# تذکیر القرآن

مولانا وحید الدّین خاں

# تذڪير القرآن

مترجم ۽ مفسر

**مولانا وحيد الدين خان**

سنڌي ترجمو

**ڊاڪٽر قاسم عالماڻي**

سڀ حق ۽ واسطا ڪليل آهن
This Book is Copyright Free

# تذڪير القرآن

مترجم ۽ مفسر
## مولانا وحيد الدين خان

سنڌي ترجمو
## ڊاڪٽر قاسم عالماڻي

پهريون ڇاپو: 2021ع
ٻيو ڇاپو: 2022ع
ڪمپوزنگ: عبدالله جروار، عبيدالله ميمڻ
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: نديم احمد سولنگي
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي B-24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي-74400
فون: 021-32737290،
ويب سائيٽ: www.sindhica.org ، اي ميل: sindhicaacademy@gmail.com

هديو: 000/- روپيا

ملڻ جا هنڌ
- سنڌيڪا اڪيڊمي B-24 ، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي74400. فون: 021-32737290
- سنڌيڪا بوڪ شاپ: شاپ نمبر5، ميزنائين فلور، حيدرآباد ٽريڊ سينٽر، حيدر چوڪ، 03133692150
- سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديه پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 03352233803- 03013431537
- سنڌيڪا بوڪ شاپ، سامهون پرڳڙي پلازا، جي پي او روڊ لاڙڪاڻو فون: 03313480039

ڪراچي: ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار، فون:03212038707، ڪتب خانو جامع مسجد رباني، هاءِ وي ڪالوني، سيڪٽر 18-C، اسڪيم 33، نزد جمالي پُل سپر هائي وي ڪراچي. فون:03122287447
حيدرآباد: ڀٽائي بوڪ هائوس، سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ تلڪ چاڙهي، مسلم ڪتاب گهر، ڪنگ پن پريس ڪلب، بيت الحمد، عديل ڪتاب گهر، مڪتبه اصلاح و تبليغ، فيضان ڪتاب گهر
ٽنڊو الهيار: ديدار بوڪ ڊپو
نواب شاهه: سليمان برادرس، مسجد روڊ، عوامي بوڪ اسٽال، مسجد روڊ، حافظ اينڊ ڪمپني، لياقت مارڪيٽ، مڪتبه فيض رضا، فيضان سليمان ڪتاب گهر
مورو: مهراڻ ڪتاب گهر، شاهي بازار فون: 03323900970
نوشهروفيروز: ميمڻ بوڪ اسٽور، شاهي بازار
ڪنڊيارو: عثمانيه لائبريري، چنيهاڻي فون: 03063665563
پڊ عيدن: مشعل ڪتاب گهر، اسٽيشن روڊ فون: 03022019119
ميهڙ: سومرا بوڪ اسٽور ، ساحر ڪتاب گهر، ڪوندي ميهڙ 03468948535، عبدالرزاق ڪتاب گهر ميهڙ 03003278430
دادو: جنيد بوڪ اسٽور 03133273152، مدني اسلامي ڪتبخانو 03003256788، خالد عباسي بوڪ اسٽور
سيتا روڊ: جميل عباسي ڪتاب گهر
لاڙڪاڻو: ادبي منزل بوڪ اسٽور 03323412221، نيشنل بوڪ اسٽور، نوراني بوڪ ڊپو، رهبر بوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ 0744056571، عبدالله بوڪ اسٽور 03332427372
شهدادڪوٽ: نديم وحيد بوڪ اسٽور، سبحان الله بوڪ ڊپو، زين ديني ڪتب خانو، جاويد بوڪ ڊپو
پنو عاقل: ماسٽر ڪتاب گهر، نيو سلمان بوڪ ڊپو، مدني ڪتاب گهر، باءِ جي چوڪ فون: 03023629908
سکر: ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، عزيز ڪتاب گهر بئراج روڊ، بخاري ڪتاب گهر، قادري بوڪ اسٽور، مهراڻ بوڪ اسٽور، مجاهد بوڪ اسٽور نيم ڪي چاڙهي
خيرپور ميرس: حافظ بوڪ اسٽور مسجد روڊ
گهوٽڪي: مڪتبه امام العصر 03033695037، ماسٽر ڪتاب گهر، واشو رام بوڪ ڊپو
شڪارپور: وسيم ڪتاب گهر، سعيد بوڪ اسٽور، سعيد پيپر مارٽ، صديق حيدر ڪتاب گهر 03012035343، سنڌ ڪتاب گهر، مدينه بوڪ ڊپو
ٺل: علي محمد بوڪ اسٽور، شاهي بازار
جيڪب آباد: سيد ماس ميگا اسٽور، سيد بوڪ لينڊ
ڪنڌڪوٽ: سنڌ ڪتاب گهر
سانگهڙ: المهراڻ ڪتاب گهر، زاهد بوڪ ڊپو، الفقراءَ بوڪ اسٽال ڪپرو: حافظ ڪتاب گهر
ميرپورخاص: مڪتبه يوسفيه ، فون: 03003319565
عمرڪوٽ: مهراڻ ڪتاب گهر، ٿر ڪتاب گهر، العزيز ڪتاب گهر 03313891283
ماتلي: رفعت بوڪ هائوس
بدين: مرچو لال پريمي، عطار ڪتاب گهر ، سوجهرو ڪتاب گهر، حبيب الله چانڊيو بوڪ اسٽور

# قرآن مجيد جي سورتن جي فهرست


| | | |
|---|---|---|
| مهاڳ: | مولانا وحيد الدين خان | ز |
| ١. | سورت الفاتحہ | ٢ |
| ٢. | سورت البقره | ۴ |
| ٣. | سورت آل عمران | ١٠٢ |
| ۴. | سورت النساءِ | ١۵۴ |
| ۵. | سورت المائده | ٢١٢ |
| ٦. | سورت الانعام | ٢٦۴ |
| ٧. | سورت الاعراف | ٣٢٣ |
| ٨. | سورت الانفال | ٣٩٠ |
| ٩. | سورت التوبه | ۴١٨ |
| ١٠. | سورت يونس | ۴٦٨ |
| ١١. | سورت هود | ۵١٠ |
| ١٢. | سورت يوسف | ۵۴٩ |
| ١٣. | سورت الرعد | ۵٧٨ |
| ١۴. | سورت ابراهيم | ۵٩٧ |
| ١۵. | سورت الحجر | ٦١۵ |
| ١٦. | سورت النحل | ٦٣١ |
| ١٧. | سورت اسراءِ | ٦٧٢ |
| ١٨. | سورت الڪهف | ٧٠٩ |
| ١٩. | سورت مريم | ٧٣٦ |
| ٢٠. | سورت طٰهٰ | ٧۵۴ |
| ٢١. | سورت الانبياءَ | ٧٧٩ |
| ٢٢. | سورت الحج | ٨٠٢ |
| ٢٣. | سورت المومنون | ٨٢۵ |
| ٢۴. | سورت النور | ٨۴۵ |

| | | |
|---|---|---|
| ۲۵. | سورت الفرقان | ۸٦٦ |
| ۲٦. | سورت الشعراءُ | ۸۸۱ |
| ۲۷. | سورت النمل | ۹۰۳ |
| ۲۸. | سورت القصص | ۹۱۹ |
| ۲۹. | سورت العنکبوت | ۹۳۸ |
| ۳۰. | سورت الروم | ۹۵۳ |
| ۳۱. | سورت لقمان | ۹٦۵ |
| ۳۲. | سورت السجده | ۹۷۳ |
| ۳۳. | سورت الاحزاب | ۹۷۸ |
| ۳۴. | سورت سبا | ۹۹۷ |
| ۳۵. | سورت فاطر | ۱۰۱۰ |
| ۳٦. | سورت یٰسٓ | ۱۰۲۲ |
| ۳۷. | سورت الصافات | ۱۰۳۳ |
| ۳۸. | سورت ص | ۱۰۴٦ |
| ۳۹. | سورت الزمر | ۱۰۵۸ |
| ۴۰. | سورت المؤمن | ۱۰۷۵ |
| ۴۱. | سورت حم السجده | ۱۰۹۳ |
| ۴۲. | سورت الشوریٰ | ۱۱۰٦ |
| ۴۳. | سورت الزخرف | ۱۱۲۱ |
| ۴۴. | سورت الدخان | ۱۱۳۴ |
| ۴۵. | سورت الجاثیہ | ۱۱۴۰ |
| ۴٦. | سورت الاحقاف | ۱۱۴۸ |
| ۴۷. | سورت محمد | ۱۱۵۸ |
| ۴۸. | سورت الفتح | ۱۱٦۷ |
| ۴۹. | سورت الحُجرات | ۱۱۷٦ |
| ۵۰. | سورت ق | ۱۱۸۲ |
| ۵۱. | سورت الذاریات | ۱۱۸۷ |
| ۵۲. | سورت الطور | ۱۱۹۴ |
| ۵۳. | سورت النجم | ۱۱۹۸ |
| ۵۴. | سورت القمر | ۱۲۰۳ |

| | | |
|---|---|---|
| ٥٥. | سورت الرحمٰن | ١٢٠٨ |
| ٥٦. | سورت الواقعہ | ١٢١٢ |
| ٥٧. | سورت الحدید | ١٢١٧ |
| ٥٨. | سورت المجادلہ | ١٢٢٤ |
| ٥٩. | سورت الحشر | ١٢٢٩ |
| ٦٠. | سورت الممتحنہ | ١٢٣٥ |
| ٦١. | سورت الصف | ١٢٣٨ |
| ٦٢. | سورت الجمعة | ١٢٤١ |
| ٦٣. | سورت المنافقون | ١٢٤٤ |
| ٦٤. | سورت التغابن | ١٢٤٦ |
| ٦٥. | سورت الطلاق | ١٢٤٩ |
| ٦٦. | سورت التحریم | ١٢٥٢ |
| ٦٧. | سورت الملک | ١٢٥٦ |
| ٦٨. | سورت القلم | ١٢٥٩ |
| ٦٩. | سورت الحاقہ | ١٢٦٣ |
| ٧٠. | سورت المعارج | ١٢٦٦ |
| ٧١. | سورت نوح | ١٢٦٨ |
| ٧٢. | سورت الجن | ١٢٧١ |
| ٧٣. | سورت المزمل | ١٢٧٤ |
| ٧٤. | سورت المدثر | ١٢٧٦ |
| ٧٥. | سورت القیامہ | ١٢٧٩ |
| ٧٦. | سورت الدهر | ١٢٨١ |
| ٧٧. | سورت المرسلٰت | ١٢٨٤ |
| ٧٨. | سورت النباءُ | ١٢٨٧ |
| ٧٩. | سورت النٰزعٰت | ١٢٨٩ |
| ٨٠. | سورت عبس | ١٢٩١ |
| ٨١. | سورت التکویر | ١٢٩٣ |
| ٨٢. | سورت الانفطار | ١٢٩٤ |
| ٨٣. | سورت المطففین | ١٢٩٥ |
| ٨٤. | سورت الانشقاق | ١٢٩٧ |

| | | |
|---|---|---|
| ۸۵. | سورت البروج | ۱۲۹۸ |
| ۸۶. | سورت الطارق | ۱۲۹۹ |
| ۸۷. | سورت الاعلیٰ | ۱۳۰۰ |
| ۸۸. | سورت الغاشیہ | ۱۳۰۱ |
| ۸۹. | سورت الفجر | ۱۳۰۲ |
| ۹۰. | سورت البلد | ۱۳۰۳ |
| ۹۱. | سورت الشمس | ۱۳۰۴ |
| ۹۲. | سورت الیل | ۱۳۰۵ |
| ۹۳. | سورت الضحیٰ | ۱۳۰۶ |
| ۹۴. | سورت الم نشرح | ۱۳۰۷ |
| ۹۵. | سورت التین | ۱۳۰۷ |
| ۹۶. | سورت العلق | ۱۳۰۸ |
| ۹۷. | سورت القدر | ۱۳۰۹ |
| ۹۸. | سورت البینہ | ۱۳۱۰ |
| ۹۹. | سورت الزلزال | ۱۳۱۱ |
| ۱۰۰. | سورت العٰدیات | ۱۳۱۱ |
| ۱۰۱. | سورت القارعہ | ۱۳۱۲ |
| ۱۰۲. | سورت التکاثر | ۱۳۱۳ |
| ۱۰۳. | سورت العصر | ۱۳۱۳ |
| ۱۰۴. | سورت الھمزہ | ۱۳۱۴ |
| ۱۰۵. | سورت الفیل | ۱۳۱۵ |
| ۱۰۶. | سورت قریش | ۱۳۱۵ |
| ۱۰۷. | سورت الماعون | ۱۳۱۶ |
| ۱۰۸. | سورت الکوثر | ۱۳۱۷ |
| ۱۰۹. | سورت الکافرون | ۱۳۱۷ |
| ۱۱۰. | سورت النصر | ۱۳۱۸ |
| ۱۱۱. | سورت اللھب | ۱۳۱۹ |
| ۱۱۲. | سورت الاخلاص | ۱۳۱۹ |
| ۱۱۳. | سورت الفلق | ۱۳۲۰ |
| ۱۱۴. | سورت الناس | ۱۳۲۰ |

# مهاڳ- تذڪير القرآن

جيئن ته قرآن مجيد هڪ اعليٰ علمي ڪتاب آهي، هن ۾ فطري حدن ۾ رهندي علم ۽ عقل جو پورو لحاظ رکيو ويو آهي. پر قرآن ۾ ڪنهن ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ معروف علمي ۽ فني انداز اختيار نه ڪيو ويو آهي. قرآن جو طريقو اهو آهي ته فني آداب ۽ علمي تفصيل کي ڇڏي اصل ڳالهه کي اثرائتي دعوتي انداز ۾ بيان ڪيو وڃي. ان جو ڪارڻ اِهو آهي ته قرآن جو مقصد علمي مطالعو پيش ڪرڻ نه آهي، پر هن جو مقصد تذڪير (ياد ڏيارڻ) ۽ نصيحت ڪرڻ آهي ۽ تذڪير ۽ نصيحت جي لاءِ هميشه سادو انداز مفيد هوندو آهي، نه وري ڪو فني انداز.

جيئن ته اها هڪ طالب علم جي ضرورت آهي ته قرآن جو مطالعو ڪندي، هڪ ماڻهو قرآن جي بيانن جو علمي تفصيل ۽ ان جي فني پهلوئن کي ڄاڻڻ چاهي، اهڙيءَ حالت ۾ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته قرآن جي تفسير لاءِ ڪهڙو انداز اختيار ڪجي. جيڪڏهن قرآن جو تفسير ان جي پنهنجي سادي دعوتي انداز ۾ ڪيو وڃي ته ان جو فائدو اهو ٿيندو ته تفسير ۾ نصيحت ۽ تذڪير واري فضا باقي رهندي، جيڪو قرآن جو اصل مقصد آهي. پر اهڙي صورت ۾ خالص علمي تقاضا جي رعايت نه ٿي سگهندي. ٻئي پاسي جيڪڏهن علمي ۽ فني پهلوئن جو لحاظ رکندي مفصل تفسير لکجي ته ڪن خاص طبيعت وارن کي اهو پسند اچي سگهي ٿو، پر عام ماڻهوءَ جي لاءِ اهو هڪ خشڪ دستاويز بڻجي ويندو. وڌيڪ اهو ته اهو قرآن جي اصل مقصد تذڪير ۽ نصيحت کي مجروح يا نقصان پهچائڻ جي قيمت تي هوندو.

هن مسئلي جو هڪ سادو حل اهو آهي ته تفسير ۽ معلومات کي هڪٻئي کان الڳ ڪري ڇڏجي. قرآن سان گڏ جيڪو تفسير شايع ڪيو وڃي، اهو پاڻ ته نصيحت ۽ تذڪير جي انداز ۾ هجي. ان کان پوءِ انهيءَ کان الڳ هڪ مستقل ڪتاب قاموس القرآن يعني قرآني انسائيڪلوپيڊيا مرتب ڪري شايع ڪيو وڃي، جنهن ۾ اُهي سڀ فني بحث، علمي ۽ تاريخي ڄاڻ ڏنل هجي، جيڪي قرآني حوالن کي تفصيلي انداز ۾ سمجهڻ جي لاءِ ضروري آهن. مثال طور حضرت ابراهيم ﷺ متعلق جن آيتن جو تفسير لکيو وڃي، ان ۾ سندس زندگيءَ جي رڳو قابل عبرت حصن جي وضاحت هجي جن ڏانهن قرآن ۾ اشارا ڪيا ويا آهن، ان کان سواءِ سندس باري ۾ جيڪا تاريخي ۽ اهم معلومات آهي، ان کي قاموس القرآن ۾ گڏ ڪجي، جن کي ماڻهو لفظ ”ابراهيم“ ۾ ڏسي سگهن. اهڙيءَ طرح نحوي، فقهي، ڪلامي ۽ طبيعاتي مسئلن جو تفصيل به قرآن جي انسائيڪلوپيڊيا ۾ لکيل هجي، نه وري قرآن جي تفسير ۾.

تذڪير القرآن انهيءَ انداز ۾ قرآن جي هڪ خدمت آهي. تذڪير القرآن کي اسان قرآن جي اصل مطلب جي يادگيريءَ تائين محدود رکيو آهي، جيستائين ٻي علمي ۽ فني معلومات جو تعلق آهي، اهو ان شاء الله الڳ ڪتاب جي صورت ۾ مرتب ڪري شايع ڪيو ويندو.

هيءُ انداز اهوئي آهي جيڪو خود قرآن اختيار ڪيو آهي. قرآن ۾ طبيعات ۽ فلڪيات جا حوالا آهن، پر خدا انهن جي تفصيل کي ڇڏي ڏنو، ته جيئن ايندڙ زماني جا عالم انهن کي دريافت ڪري گڏ ڪن.

قرآن ۾ قديم شخصيتن جو ذڪر آهي، پر الله اهو ڪم ايندڙ قديم آثارن جي ماهرن لاءِ باقي رکيو آهي، تہ جيئن اهي ان جي تحقيق ڪن ۽ ان جي تاريخي تفصيلن کان دنيا کي آگاهہ ڪن. خدا قرآن ۾ خود انهن سڀني واقعن کي شامل ڪري پئي سگهيو، پر اهو رڳو ان قيمت تي هجي ها جو قرآن ۾ عبرت ۽ نصيحت واري فضا ختم ٿي وڃي. ان ڪري خدا هر شيءِ کان باخبر هجڻ جي باوجود سڄو زور رڳو نصيحت جي ڳالهين تي ڏنو ۽ باقي تفصيل ٻين جي لاءِ ڇڏي ڏنو.

قرآن ۾ هڪ پاسي معلوماتي قسم جي بيشمار تفصيلي ڳالهين کي ڇڏيو ويو آهي، ٻئي پاسي بنيادي نصيحت وارين ڳالهين کي هر هر ورجايو آهي. ايستائين جو گهٽ ماڻهن کي اهو چوڻ جو موقعو مليو تہ قرآن ۾ مضمونن جو تڪرار آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ قرآن جو اهو مقصد نہ آهي تہ ماڻهو اُن کي معلومات جو هڪ ڪتاب سمجهي پڙهن. قرآن خدا ۽ آخرت جي ڳالهين کي ماڻهن جي روح جي غذا بڻائڻ چاهي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن شيءِ کي ماڻهو معلوماتي طور پڙهي تہ ان جو ورجاءُ ڪيس برو لڳندو، پر جيڪا شيءِ ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ روح جي غذا بڻجي داخل ٿي وڃي، ان جو ورجاءُ ماڻهوءَ کي نئين لذت ڏيندو آهي. جتي لذت هجي اتي ورجاءَ جو تصور ختم ٿي ويندو آهي. قرآن ۾ اهو انداز ان ڪري اختيار ڪيو ويو آهي تہ جيئن اُهي ماڻهو الڳ ٿي وڃن جيڪي معلومات ۽ ورجاءَ جي اصطلاحن ۾ قائل آهن ۽ اُهي انسان چونڊيا وڃن جن جي لاءِ قرآن جون حقيقتون روح جي لذت جو درجو حاصل ڪري چڪيون هجن.

## قرآن هڪ دعوتي ڪتاب

قرآن عام روايتي علمي تصنيف نہ آهي. اهو هڪ دعوتي ڪتاب آهي. الله تعاليٰ پنهنجي هڪ ٻانهي کي ستين صدي عيسوي جي شروعات ۾ هڪ خاص قوم ۾ پنهنجو نمائندو مقرر ڪيو ۽ ان کي پنهنجي پيغام جي پيغمبريءَ تي مقرر فرمايو. ان پيغمبر پنهنجي ماحول ۾ اهو ڪم شروع ڪيو ۽ انهيءَ سان گڏ قرآن جو ٿورو ٿورو حصو ضرورت مطابق ان تي نازل ٿيندو رهيو. ايستائين جو ٢٣ سالن ۾ پيغمبر جي دعوتي ڪم جي تڪميل سان گڏوگڏ قرآن جي بہ تڪميل ٿي وئي.

قرآن جيتوڻيڪ الله جي ابدي رهنمائي آهي، پر متي ذڪر ڪيل ترتيب انهيءَ سان گڏ ان کي تاريخي ڪتاب بہ بڻائي ڇڏيو آهي. قرآن هڪ اهڙو ڪتاب آهي جنهن ۾ الله تعاليٰ پنهنجي ابدي رهنمائيءَ کي تاريخ جي سانچي ۾ وجهي پيش ڪيو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ ايندڙ زماني ۾ قرآن جو تفسير ڪرڻ ماڻهوءَ کي هڪ نئين مسئلي ۾ وجهي ڇڏي ٿو. قرآن جو تفسير جيڪڏهن ان ابتدائي پس منظر جي روشنيءَ ۾ ڪيو وڃي، جنهن ۾ قرآن جا حڪم نازل ٿيا هئا تہ قرآن قديم زماني جو هڪ تاريخي ڪتاب لڳندو، ان جي برعڪس جيڪڏهن قرآن جو تفسير ان جي ابدي اهميت جي بنياد تي ڪيو وڃي تہ ان جو تاريخي پهلو مجروح ٿيندي نظر ايندو. انهيءَ مسئلي جي ڪري بعد جي زماني ۾ قرآن جو تفسير ڪرڻ هڪ اهڙو ڪم بڻجي ويو آهي، جنهن ۾ ٻنهي پهلوئن کي نڀائڻ ضروري ٿي پيو آهي.

تذڪير القرآن ۾ اهوئي ٻہ طرفو انداز اختيار ڪيو ويو آهي. هن ۾ تاريخي پس منظر بہ مختصر طور ڏيکاريو ويو آهي، پر اهڙي طرح نہ جو قرآن رڳو هڪ تاريخي ڪتاب ڏسڻ ۾ اچي. اهڙيءَ طرح هن ۾ قرآني تعليمات کي اڄوڪين حالتن جي مطابق بيان ڪيو ويو آهي، پر ائين نہ جو قرآن پنهنجي تاريخي بنياد کان بالڪل الڳ ٿي وڃي.

# قرآن جي نازل ٿيڻ جو مقصد

قرآن ڇاجي لاءِ نازل ڪيو ويو آهي، هڪ لفظ ۾ هن جو جواب اهو آهي ته انسان جي باري ۾ خدا جو منصوبو ٻڌائڻ جي لاءِ. انسان کي خدا ابدي مخلوق جي حيثيت سان پيدا ڪيو آهي. موجوده محدود دنيا ۾ پنجاهه سال يا سؤ سال گذاري ان کي آخرت جي دنيا ۾ داخل ڪيو ويندو آهي، جتي هن کي هميشه لاءِ رهڻو آهي. موجوده دنيا عمل ڪرڻ جي جاءِ آهي ۽ آخرت جي دنيا ان جي انجام ملڻ جي جاءِ. اڄوڪي زندگيءَ ۾ ماڻهو جيڪو عمل ڪندو ان جي مطابق ئي ان کي اڳئين زندگيءَ ۾ سٺو يا بُرو بدلو ملندو. ڪو پنهنجي نيڪ ڪردار جي نتيجي ۾ هميشه لاءِ جنت ۾ ويندو ۽ ڪو پنهنجي بدڪرداريءَ جي ڪري هميشه جي لاءِ جهنم ۾. قرآن ان ڪري نازل ڪيو ويو ته هن سنگين مسئلي کان ماڻهوءَ کي باخبر ڪري ۽ اُن کي ٻڌائجي ته اڳئين زندگيءَ ۾ بري انجام کان بچڻ جي لاءِ ان کي پنهنجي موجوده زندگيءَ ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي.

خدا انسان کي فهم ۽ شعور جي لحاظ کان ان صحيح فطرت تي پيدا ڪيو آهي، جيڪا خدا کي انسان کان گهربل آهي. پوءِ خدا چؤطرف سڄي ڪائنات کي گهربل درست ڪردار جو عملي مظاهرو بڻائي ڇڏيو آهي. پر اهو سڀ ڪجهه خاموش زبان ۾ آهي. انساني فطرت احساسن جي صورت ۾ پنهنجو ڪم ڪندي آهي ۽ فطرت جا مظاهر تمثيل جي صورت ۾. قرآن هن ڪري آيو ته فطرت ۽ ڪائنات ۾ جيڪو ڪجهه خاموش زبان ۾ موجود آهي، اُهو ڳالهائڻ واري زبان ۾ ان جو اعلان ڪري ڇڏي، ته جيئن ڪنهن جي لاءِ به ان جو سمجهڻ مشڪل نه رهي. فطرت ۽ ڪائنات جيڪڏهن ماڻهوءَ جون خاموش رهنما آهن ته قرآن هڪ ڳالهائڻ وارو رهنما.

وڌيڪ اهو ته قرآن هڪ اهڙي پيغمبر تي نازل ڪيو ويو جيڪو غالب اچڻ وارو پيغمبر هو. اڳيان نبي صرف داعيءَ جي حيثيت ۾ موڪليا ويا، انهن جو ڪم ان وقت ختم ٿي ويندو هو جڏهن هو پنهنجي مخاطب قوم کي خدا جي مرضيءَ کان پوريءَ طرح آگاهه ڪري ڇڏيندا هئا. انهن پنهنجن مخاطب قومن جي زبان ۾ ڪلام ڪيو، پر انسان پنهنجي آزاديءَ جو غلط استعمال ڪندي انهن جي ڳالهه نه مڃي. اهڙيءَ طرح پوئين زمانن ۾ خدا جي مرضي انسان جي زندگيءَ ۾ عملي صورت اختيار نه ڪري سگهي. پيغمبر آخر الزمانﷺ کي خدا غالب ايندڙ جي نسبت ڏني. يعني پاڻﷺ جي لاءِ فيصلو ڪيو ويو ته سندن مشن رڳو پيغام پهچائڻ تي ختم نه ٿيندو، پر خدا جي خاص مدد سان ان کي عملي واقعو بڻجڻ تائين پهچايو ويندو. هن خدائي فيصلي جو نتيجو اهو نڪتو جو خدا جي دين جي حق ۾ هميشه جي لاءِ هڪ وڌيڪ تائيدي بنياد فراهم ٿي ويو، يعني مٿي ذڪر ڪيل اهتمام کان سواءِ انسان جي حقيقي زندگيءَ ۾ خدا جي مرضيءَ جو هڪ ڪامل عملي نمونو.

اڳئين زمانن ۾ خدا جا جيترا به پيغمبر آيا، اهي سڀ انهيءَ دعوت کي کڻي آيا جنهن کي ڏئي پيغمبر آخرالزمانﷺ کي موڪليو ويو هو. پر اڳين پيغمبرن سان عام طور تي ائين ٿيو جو ماڻهن انهن جي پيغام کي نه مڃيو. ان جو ڪارڻ اِهو هو ته اهي ان کي پنهنجن دنياوي مصلحتن جي خلاف سمجهندا هئا. انهن کي اهو غلط انديشو هو ته جيڪڏهن انهن خدا جي سچي دين کي اختيار ڪيو ته ان جي نهيل نڪيل دنيا تباهه ٿي ويندي. قرآن جي تاريخ اُن انديشي جي عملي ترديد آهي. قرآن جي ذريعي جيڪا تحريڪ هلائي وئي، ان کي خدا پنهنجي خصوصي مدد جي ذريعي دعوت کان شروع ڪري واقعي بڻجڻ جي مرحلي تائين پهچايو ۽ ان جي عملي نتيجن کي به ڏيکاري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح خدا جي دين جي هڪ مستقل تاريخ وجود ۾ اچي وئي. هاڻي قيامت تائين ماڻهو حقيقي تاريخ جي زبان ۾ ڏسي سگهن ٿا ته خدا جي سچي دين کي اختيار ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڪهڙيءَ طرح زمين ۽ آسمان جون سڀ برڪتون نازل ٿين ٿيون.

پوءِ انهيءَ جي ذريعي قرآن جي مستقل حفاظت جو انتظام بہ ڪيو ويو. هڪ وڏي خطي ۾ اهل اسلام جو اقتدار ۽ اتي اسلامي تهذيب ۽ تمدن جو غلبو ان ڳالھ جي ضمانت بڻجي ويو تہ قرآن کي اهڙو حفاظتي ماحول ملي وڃي جتي ڪوبہ ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي تبديليءَ تي قادر نہ ٿي سگهي. اها هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ مسلمانن جو غلبو تقريبًا ڏيڍ هزار سالن کان قرآن جو محافظ بڻيل آهي.

## رباني دسترخوان

قرآن کي ڪجھ ماڻهو فضائل جو ڪتاب سمجهن ٿا، ڪجھ ماڻهو مسئلن جو ڪتاب ۽ ڪجھ ماڻهو سياست جو ڪتاب. ٽنهي ڳالهين ۾ جزئي صداقت آهي، پر انهن مان ڪابہ قرآن جي صحيح تعبير نہ آهي.

قرآن کي فضائل جو ڪتاب مڃڻ جو مطلب اِهو آهي تہ اُن جي آيتن ۽ سورتن ۾ طلسماتي برڪتون لڪيل آهن ۽ قرآن جي رڳو لفظن کي ورجائڻ انهن برڪتن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪافي آهي. جيڪڏهن هن ڳالھ کي مڃي وڃجي تہ قرآن جون اهي سڀ آيتون بي معنيٰ ٿي وڃن ٿيون جن ۾ ماڻهوءَ کي غور ڪرڻ لاءِ اپاريو ويو آهي. قرآن اهڙين آيتن سان ڀريو پيو آهي، جيڪي ماڻهن کي اُپارين ٿيون تہ هو لفظن مان گذري معنيٰ جي گهرائيءَ ۾ لهڻ جي ڪوشش ڪري، هو قرآن ۾ تدبّر ڪري، قرآن جي نظر سان پنهنجي پاڻ کي ۽ ڪائنات کي ڏسي. انهيءَ تعليمات جي روشنيءَ ۾ ڏسجي تہ قرآن جو مقصد اهڙا انسان پيدا ڪرڻ آهي جن جون فڪري قوتون بيدار هجن، جيڪي قرآن مان ذهني غذا حاصل ڪن ۽ عبرت جي نگاھ سان دنيا ۾ زندگي گذارين. اهڙيءَ حالت ۾ قرآن کي فضائل جو ڪتاب چوڻ قرآن کي گهٽائڻ آهي، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ جو مطلب اهو آهي تہ قرآن ذهنن کي کولڻ وارو ڪتاب نہ آهي. اهو صرف برڪت جو ڪتاب آهي، جنهن کي بند ذهن سان پڙهيو وڃي ۽ پوءِ بند غلاف ۾ محفوظ ڪري رکي ڇڏجي.

اهڙيءَ طرح قرآن کي مسئلن جو ڪتاب چوڻ بہ قرآن تي ظلم ڪرڻ آهي. لفظ ”مسئلا“ سان اهو تاثر پيدا ٿيندو آهي تہ قرآن اهڙن عملن جو ڪتاب آهي جن کي ظاهري آداب سان ادا ڪري وٺڻ ڪافي آهي. جڏهن تہ قرآن ۾ ان جي گهربل عملن جي ظاهري آداب جو ذڪر ئي نہ آهي. قرآن ماڻهوءَ کي ايمان جي دعوت ڏي ٿو، پر هو ان ايمان کي ايمان نہ ٿو مڃي جيڪو ايمان دل ۾ ئي داخل نہ هجي، جنهن ۾ رڳو صحيح تلفظ سان ايمان جي ڪلمي جي لفظن کي ورجايو ويو هجي. قرآن جي ويجهو حقيقي ايمان اهو آهي جيڪو روح ۾ لهي وڃي، جنهن ۾ ماڻهوءَ جي دل جون ڌڙڪنون شامل ٿي وڃن. قرآن نماز کي فلاح جو ذريعو ٻڌائي ٿو، پر قرآن جي گهربل نماز اُها آهي جيڪا خشوع جي نماز هجي، نہ وري غفلت جي نماز. قرآن چاهي ٿو تہ ماڻهو الله جو ذڪر ڪن، پر اُهو ذڪر نہ جيڪو زبان سان ورجائڻ طور ٿيندو آهي،پر اهڙو ذڪر جنهن ۾ وڏي حُبّ ۽ عشق شامل هجي، جيڪو قومي سُورمن جي ذڪر ۾ هوندو آهي، بلڪ ان کان بہ وڌيڪ. قرآن جي ويجهو قرباني تمام وڏو عمل آهي، پر اُها قرباني نہ جيڪا گوشت ۽ رت جي هم معنيٰ هجي، پر اُها قرباني جيڪا ماڻهوءَ جي لاءِ تقويٰ جو ذريعو بڻجي وڃي. اهڙي طرح بيشمار حڪم آهن، جيڪي ٻڌائن ٿا تہ قرآن معروف معنيٰ ۾ مسئلن جو ڪتاب نہ آهي، بلڪ حقيقت جو ڪتاب آهي. هو انسان جي اندر زنده عمل ڏسڻ گهري ٿو، نڪي رڳو ظاهري آداب ۽ قاعدن وارو عمل.

قرآن ۾ يقينًا ڪجھ سياسي نوعيت جا حڪم آهن، پر قرآن کي سياست جو ڪتاب سمجهڻ ائين آهي جيئن ڪجھ جزئي مشابهت جي ڪري انسان کي معاشي حيوان سمجهڻ. هن نقطہ نظر وارا ڏسن ٿا تہ نبي آخر الزمان ﷺ جي ذريعي اهو واقعو ٿيو تہ دعوت ۽ تبليغ کان شروع ٿي ڪري پاڻ سڳورن ﷺ جو مشن حڪومت

۽ سياست تائين پهتو. ان ڪري هو چوندا آهن ته خدا جا پيغمبر انهيءَ ڪري ايندا آهن ته خاص حڪمن جي بنياد تي خدا جي حڪومت قائم ڪن. پر قرآن مان اهو ثابت آهي ته خدا جي طرفان جيترا به پيغمبر آيا، اُنهن جو مشن الڳ الڳ نه هو، بلڪ سيني جو مشن هڪ هو. ايستائين جو قرآن ۾ پوين نبين جو ذڪر ڪري نبي آخرالزمانﷺ کي چيو ويو آهي ته توهان به انهن جي پيروي ڪيو (فبهداهم اقتده). اهڙيءَ حالت ۾ اهو سوال آهي ته جيڪڏهن نبين جو مشن خدائي حڪومت قائم ڪرڻ هجي ها ته آخري نبيءَ کان سواءِ ٻين نبين به پاڻ سڳورنﷺ وانگر حڪومت ڇو نه قائم ڪئي.

هن نقطه نظر وارا ماڻهو جواب اهو ڏيندا آهن ته عمل جي حد تائين سيني نبين خدائي حڪومت جي قيام جي لاءِ جدوجهد ڪئي، البت ڪنهن جو عمل ڪوشش جي مرحلي ۾ رهجي ويو ۽ ڪنهن جو عمل آخري نتيجي تائين پهتو. پر اهو جواب ڪيترن ئي سببن ڪري غلط آهي، مثال طور حضرت موسيٰؑ کي وٺو. جيڪڏهن پاڻؑ جو مشن اهو هو ته مصر جي اقتدار مان فرعون کي بيدخل ڪري اتي خدائي قانون جي حڪومت قائم ڪن ته ائين ڇو ٿيو ته جڏهن خدا فرعون کي هلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ ان جي پوري جنگي طاقت کي سمنڊ ۾ غرق ڪري ڇڏيو ته حضرت موسيٰؑ مصر کي ڇڏي سينا جي رڻ ۾ هليا ويا. جيڪڏهن پاڻؑ جو مشن مصر ۾ حڪومت الٰهي قائم ڪرڻ هو ته فرعون جي غرق ٿيڻ کان پوءِ مصر ۾ پاڻؑ جي لاءِ ان جو پورو موقعو موجود هو. اهڙيءَ حالت ۾ مصر کي ڇڏي هليو وڃڻ جو ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو.

حقيقت اِها آهي ته قرآن خدائي نعمتن جو ابدي خزانو آهي. قرآن خدا جو تعارف آهي. قرآن ٻانهي ۽ خدا جو مقام ملاقات آهي، پر ذڪر ڪيل فرضي خيالن قرآن کي ماڻهن لاءِ هڪ اهڙو ڪتاب بڻائي ڇڏيو آهي، جيڪو يا ته هڪ رڻ آهي، جتي ماڻهوءَ جي روح جي لاءِ ڪابه غذا نه آهي يا هو ڪنهن شاعر جي ڪلام جي مجموعي وانگر هڪ اهڙو لفظي مجموعو آهي، جنهن سان هر ماڻهو رڳو پنهنجي مخصوص ذهن جي تصديق حاصل ڪري وٺي. اصل ۾ هن کي پنهنجو پاڻ ملي وڃي ۽ هو اهو سمجهي خوش ٿئي ته هن کي خدا ملي ويو.

## قرآن کي سمجهڻ جا شرط

قرآن هڪ فڪري ڪتاب آهي ۽ فڪري ڪتاب ۾ هميشه هڪ کان وڌيڪ تعبيرن جي گنجائش هوندي آهي. ان ڪري قرآن کي صحيح طرح سمجهڻ جي لاءِ ضروري آهي ته پڙهڻ وارو خالي ذهن ٿي ڪري قرآن کي پڙهي. جيڪڏهن پڙهڻ واري جو ذهن خالي نه هوندو ته هو قرآن ۾ خود پنهنجي ڳالهه پڙهندو. هن کي سمجهڻ لاءِ قرآن جي هڪ آيت جو مثال ڏجي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ مِنَ النَّاسِ مَنْ يَّتَّخِذُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَنْدَادًا يُّحِبُّوْنَهُمْ كَحُبِّ اللّٰهِ ؕ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِ (البقره: ١٦٥) | ڪجهه ماڻهو اهڙا آهن جو الله کان سوا ٻين کي ان جو مدمقابل بڻائيندا آهن ۽ اُنهن سان اهڙي محبت ڪندا آهن جهڙي محبت الله سان هئڻ گهرجي. حالانڪ ايمان رکڻ وارا سڀ کان وڌيڪ الله سان محبت ڪندا آهن. |

هڪ ماڻهو جيڪو سياسي ذوق رکندو هجي ۽ سياسي اٿل پٿل کي ڪم سمجهندو هجي، جڏهن اهو هن آيت کي پڙهندو ته سندس ذهن پوري آيت ۾ رڳو انداد (مد مقابل) تي رڪجي ويندو. هو قرآن مان "مد مقابل" جو لفظ وٺندو ۽ باقي مفهوم کي پنهنجي ذهن سان جوڙي چوندو ته هن مان مراد سياسي مد مقابل آهي. هن آيت ۾ چيو ويو آهي ته ماڻهوءَ جي لاءِ جائز ناهي ته هو ڪنهن کي خدا جو سياسي مد مقابل بڻائي. هن تشريح جي مطابق اِها آيت ان جي لاءِ اجازت نامو بڻجي ويندي ته جنهن کي هو خدا جو "سياسي مد مقابل"

بٽيل ڏسي، ان سان ٽڪراءُ شروع ڪري ڇڏي. ان جي ابتڙ جيڪو ماڻهو سادي ذهن سان ان کي پڙهندو، اهو ”انداد“ جي لفظ تي نہ رڪبو، پر پوري آيت جي روشنيءَ ۾ ان جو مفهوم مقرر ڪندو. اهڙي شخص کي اهو سمجهڻ ۾ دير نہ لڳندي تہ هتي مد مقابل ڇوڻ جي جنهن صورت جو ذڪر آهي، اها محبت جي لحاظ کان آهي نہ وري سياست جي لحاظ کان. يعني آيت اهو چئي رهي آهي تہ ماڻهو کي سڀ کان وڌيڪ محبت صرف خدا سان ڪرڻ گهرجي. ”حُبّ شديد“ جي معاملي ۾ ڪنهن ٻئي کي خدا جي برابر نہ ڪرڻ گهرجي.

قرآن جو هڪ عام مفهوم آهي ۽ ان کي سمجهڻ جو شرط اهو آهي تہ ماڻهو خالي ذهن تي ڪري قرآن کي پڙهي، پر جيڪو شخص قرآن جي گهري معنيٰ تائين پهچڻ چاهي ٿو، ان کي وڌيڪ هڪ شرط پورو ڪرڻو پوندو آهي ۽ اهو هي آهي تہ هو ان راھ جو مسافر بڻجي، جنهن جو مسافر هن کي قرآن بڻائڻ گهري ٿو. قرآن ماڻهوءَ جي عملي زندگيءَ جو رهنما ڪتاب آهي ۽ ڪنهن عملي ڪتاب کي ان جي گهرائين سان سمجهڻ ان وقت ئي ممڪن هوندو آهي جڏهن ماڻهو عملي طور انهن تجربن مان گذري جن ڏانهن قرآن ۾ رهنمائي ڪئي وئي آهي.

اهو عمل ڪو سياسي يا سماجي عمل نہ آهي، بلڪ مڪمل طور تي هڪ نفسياتي عمل آهي. هن عمل ۾ ماڻهوءَ کي خود پنهنجي نفس جي مقابلي ۾ بيهڻو پوي ٿو نہ وري حقيقت ۾ ڪنهن ٻاهرين جي مقابلي ۾. قرآن چاهي ٿو تہ ماڻهو ظاهري دنيا جي سطح تي نہ جيئي، بلڪ غيب جي دنيا جي سطح تي جيئي. هن سلسلي ۾ جن مرحلن جي نشاندهي قرآن ۾ ڪئي وئي آهي، انهن کي اهو شخص ڪيئن سمجهي سگهي ٿو، جيڪو انهن مرحلن کان واقف نہ هجي. قرآن چاهي ٿو تہ ماڻهو صرف الله کان ڊڄي ۽ رڳو الله سان ئي محبت ڪري. هاڻي جنهن جي دل الله جي محبت ۾ نہ تڙپي هجي، جنهن جي بدن جا وار الله جي خوف کان اُڀا نہ ٿيا هجن، اهو ڪيئن ڄاڻي سگهي ٿو تہ الله کان ڊڄڻ ڇا ٿيندو آهي ۽ الله سان محبت ڪرڻ ڇا آهي. قرآن چاهي ٿو تہ ماڻهو پاڻ کي خدائي مشن ۾ اهڙي طرح شامل ڪري جو هو ان کي پنهنجو ذاتي مسئلو بڻائي ڇڏي. هاڻي جنهن شخص خدا جي ڪم کي پنهنجو ذاتي ڪم نہ بڻايو هجي، اهو ڪيئن ڄاڻي سگهندو تہ خدا سان گڏ پاڻ کي شامل ڪرڻ جو مطلب ڇا آهي. قرآن اِهو چاهي ٿو تہ ماڻهو انسانن جي پيدا ڪيل مسئلن ۾ گم نہ ٿئي، پر خدا جي طرفان وسڻ واري فيض ۾ پاڻ کي گم ڪري. هاڻي جنهن شخص تي اهڙا صبح ۽ شام ئي نہ گذريا هجن جن ۾ هو خدا جي فيض ۾ رچيل رهيو هجي تہ هو ڪيئن سمجهي سگهندو تہ خدائي فيض جو مطلب ڇا آهي. قرآن چاهي ٿو تہ ماڻهو جهنم کان ڀڄي ۽ جنت ڏانهن ڊوڙي. هاڻي جيڪو شخص اهڙي طرح زندگي گذاري تہ جهنم کي هن پنهنجو مسئلو ئي نہ بڻايو هجي ۽ جنت ان جي ضرورت ئي نہ بڻي هجي، ان کي ڪهڙي خبر تہ جهنم کان ڀڄڻ ڇا ٿيندو آهي ۽ جنت ڏانهن ڊوڙڻ ڪهڙي معنيٰ رکي ٿو. قرآن چاهي ٿو تہ ماڻهو الله جي عظمت ۽ ڪبريائيءَ جي احساس ۾ ٻڏل هجي. هاڻي جيڪو شخص پنهنجي عظمت ۽ ڪبريائيءَ جي مينار ۾لذت وٺي رهيو هجي، هن کي انهيءَ ڪيفيت جو ادراڪ ڪٿان ٿي سگهندو، جڏهن تہ ماڻهوءَ کي خدا جي ڪبريائي اهڙي ريت ملندي آهي، جو هن کي پنهنجي لاءِ عجز کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي.

قرآني عمل حقيقت ۾ نفس يا انسان جي اندروني وجود جي سطح تي ٿيندو آهي، پر انسان ڪنهن خلا ۾ زندگي نہ ٿو گذاري، پر ٻين گهڻن انسانن جي وچ ۾ رهي ٿو. ان ڪري قرآني عمل حقيقت جي لحاظ کان ذاتي عمل هجڻ جي باوجود ٻن پهلوئن سان ٻين انسانن سان بہ جڙي ويندو آهي. هڪ هن لحاظ کان تہ ماڻهو جنهن قرآني رستي کي خود اختيار ڪري ٿو، انهيءَ رستي کي اختيار ڪرڻ جي هو ٻين کي بہ دعوت ڏي ٿو. هن جي نتيجي ۾ هڪ ماڻهو ۽ ٻئي ماڻهوءَ جي وچ ۾ ”داعي“ ۽ ”مدعو“ جو رشتو قائم ٿيندو آهي. اهو رشتو

ماڻهوءَ کي بيشمار تجربن مان گذاري ٿو. جيڪو مختلف صورتن ۾ آخري وقت تائين جاري رهي ٿو. پيو اهو ته مختلف قسمن جي انسانن جي وچ ۾ زندگي گذاريندي طرح طرح جا تعلق ۽ معاملا پيش ايندا آهن. ڪنهن ڪان ونڻو هوندو آهي ۽ ڪنهن کي ڏيڻو هوندو آهي. ڪنهن سان اتفاق هوندو آهي ۽ ڪنهن سان اختلاف. ماڻهو ڪنهن کان پري ٿيندو آهي ۽ ڪنهن سان قربت وڌندي آهي. انهن موقعن تي ماڻهو ڪهڙو رويو اختيار ڪري ۽ ڪهڙي قسم جو ردعمل پيش ڪري. قرآن انهن ڪمن ۾ ان جي مڪمل رهنمائي ڪندو آهي. جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي خواهش تي هلڻ چاهي ته قرآن جو اهو باب اُن تي بند رهندو ۽ جيڪڏهن هو پاڻ کي قرآن جي حڪم هيٺ ڏئي ڇڏي ته ان تي قرآني تعليم جا اهڙا راز کلندا. جيڪي ڪنهن ٻيءَ طرح سان ان تي کُلي نٿا سگهن.

قرآن ماڻهوءَ کي جيڪو مشن ڏي ٿو. اهو حقيقت ۾ ڪو "نظام" قائم ڪرڻ جو مشن نه آهي. پر پنهنجي پاڻ کي قرآني ڪردار جي صورت ۾ تبديل ڪرڻ جو مشن آهي. قرآن جو اصل مخاطب فرد آهي نه وري سماج. ان ڪري قرآن جو مشن فرد تي جاري ٿيندو آهي نه وري سماج تي. پر جڏهن ماڻهن جو قابل لحاظ تعداد پنهنجي پاڻ کي قرآن جي مطابق بدلائي ٿو ته ان جا سماجي نتيجا به لازمي نڪرڻ شروع ٿيندا آهن. اهي نتيجا هميشه هڪ جهڙا نه هوندا آهن. پر حالتن جي لحاظ کان ان جون صورتون تبديل ٿينديون رهنديون آهن. قرآن ۾ مختلف نبين جا واقعا انهن ئي سماجي نتيجن يا سماجي ردعمل جا مختلف نمونا آهن ۽ جيڪڏهن ماڻهو پنهنجون اکيون کليل رکيون آهن ته هن کي هر صورتحال بابت قرآن ۾ رهنمائي ملندي ويندي. قرآن انساني فطرت جو ڪتاب آهي. قرآن کي اهوئي شخص بخوبي سمجهي سگهي ٿو. جنهن جي لاءِ قرآن ان جي پي فطرت بڻجي وڃي.

## تذڪير القرآن جون خاصيتون

١. تذڪير القرآن جو خاص مقصد قرآن جي ياد ڏيارڻ آهي. قرآن جي اصل حيثيت اها آهي ته اهو نصيحت آهي. تذڪير القرآن جي ترتيب ۾ سيني کان وڌيڪ انهيءَ ڳالهه جو لحاظ رکيو ويو آهي ته هو پڙهڻ واري جي لاءِ نصيحت بڻجي سگهي.

٢. قرآن عام انساني ڪتاب وانگر بابن جي انداز ۾ نه آهي، پر پکڙيل مختصر تبصرن جي انداز ۾ آهي. جيتوڻيڪ قرآن جي سورتن ۽ مضمونن ۾ هڪ گهري ترتيب به آهي، پر اُن جو عام انداز اهو آهي ته ننڍڙن ننڍڙن ٽڪرن ۾ هڪ پورو پيغام آهي. هڪ هڪ "پيراگراف" ۾ هڪ هڪ ڳالهه کي ذهن نشين ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. تذڪير القرآن ۾ انهن مختصر تبصرن جي انداز کي تشريح جي لاءِ اختيار ڪيو ويو آهي. يعني قرآن جو هڪ مختصر حصو يا هڪ "پئراگراف" ڪٽي ان ۾ جيڪا ڳالهه چئي وئي آهي، ان کي مسلسل مضمون جي صورت ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ائين ان ڪري ڪيو ويو آهي ته لاڳاپيل تشريح کي پڙهندي پڙهندڙ جي ذهن ۾ معنيٰ جو سلسلو نه ٽٽي ۽ هو قرآن جي تذڪيري غذا مسلسل وٺندو رهي.

٣. تذڪير القرآن جي ترتيب اها رکي وئي آهي ته پهرين قرآن جو زير تشريح ٽڪرو (پئراگراف) لکيو ويو آهي، ان جي هيٺان ان جو ترجمو آهي. ترجمي کان پوءِ هڪ ليڪ ڏئي، لاڳاپيل ٽڪري جي تشريح آهي. جتي تشريح ختم ٿئي ٿي، اُتان وري قرآن جو اڳيون ٽڪرو لکي، وري ساڳي ترتيب سان ترجمو ۽ تشريح ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح هڪ کان پوءِ هڪ واري ترتيب سان پوري سورة جو

تفسير آهي. هن ترتيب ۾ پڙهندڙ هر تشريح کي پڙهندي هڪ ئي وقت ۾ ان جو متن به سامهون رکي سگهي ٿو ۽ ان سان گڏ ان جو ترجمو به.

٤. تذکير القرآن ۾ هن حکمت جو خيال رکيو ويو آهي ته هر جز ۾ هڪ پوري ڳالهه اچي وڃي. ماڻهو جيڪڏهن هڪ صفحو به پڙهي، تڏهن به قرآني نصيحت جو کو حصو هن کي ملي وڃي ۽ وڌيڪ صفحا پڙهي تڏهن به.

٥. تذکير القرآن ۾ ترجمي جو جيکو انداز اختيار کيو ويو آهي، اهو نه پوري طرح لفظي آهي ۽ نه وري پوري طرح بامحاوره، پر وچ واري هڪ صورت اختيار کئي وئي آهي. ٻنهي جا پنهنجا پنهنجا فائدا آهن ۽ وچون انداز ان کري اختيار کيو ويو آهي جو ٻنهي ڳالهين جو لحاظ شامل رهي.

٦. تفسير ۾ گهڻو کري تفصيل کان پرهيز کيو ويو آهي. وڌيک جنهن شيءِ جو خيال رکيو ويو آهي، اُها هيءَ ته قرآن جي فطري سادگي هن جي تفسير ۾ باقي رهي. قرآن هڪ پاسي خدا جي جلال جو اظهار آهي ۽ ٻئي پاسي هو انسان جي عبديت جو آئينو آهي. تفسير ۾ بس انهن ئي اصل ڳالهين کي غيرفني انداز ۾ نمايان کرڻ جي کوشش کئي وئي آهي.

**وحيد الدين خان**

جمعو ١٣ نومبر ١٩٨١ع


بسم الله الرحمن الرحيم

## سُوْرَةُ الْفَاتِحَةِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ سَبْعُ اٰيٰتٍ

### بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

المنزل الاول (۱)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ﴿۱﴾ الرَّحْمٰنِ
الرَّحِيْمِ ۙ﴿۲﴾ مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ ؕ﴿۳﴾ اِيَّاكَ نَعْبُدُ
وَاِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ ؕ﴿۴﴾ اِهْدِنَا الصِّرَاطَ
الْمُسْتَقِيْمَ ۙ﴿۵﴾ صِرَاطَ الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ ۙ﴿۶﴾
غَيْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ وَلَا الضَّآلِّيْنَ ﴿۷﴾ ع

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

سڀ تعريف الله جي لاءِ آهي جيڪو سڀني جهانن جو مالڪ آهي. وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي. انصاف جي ڏينهن جو مالڪ آهي. اسان تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽ توکان ئي مدد گهرون ٿا. اسان کي سڌي واٽ ڏيکار. انهن ماڻهن جي واٽ جن تي تو فضل ڪيو. نہ انهن جي واٽ جن تي تنهنجو غضب ٿيو ۽ نہ انهن ماڻهن جي واٽ جيڪي سڌي واٽ کان ڀٽڪي ويا. ١-٧

---

ٻانهي جي لاءِ ڪنهن بہ ڪم جي سڀ کان بهتر شروعات اِها آهي جو هو پنهنجي ڪم کي پنهنجي رب جي نالي سان شروع ڪري. اها هستي جيڪا سڀني رحمتن جو خزانو آهي ۽ جنهن جون رحمتون هر وقت پلٽجنديون رهن ٿيون، ان جي نالي سان ڪنهن بہ ڪم کي شروع ڪرڻ جڻ تہ ان کان دعا گهرڻ آهي تہ تون پنهنجي اڻ کُٽ رحمتن سان گڏ منهنجي مدد لاءِ اچ ۽ منهنجي ڪم کي خير ۽ خوبي سان پورو ڪر. اهو ٻانهي جي طرفان پنهنجي ٻانهپ جو اعتراف آهي ۽ اُن سان گڏوگڏ سندس ڪاميابي جي الاهي ضمانت بہ.

قرآن جي اها خاص صفت آهي تہ هو مؤمن جي قلبي احساسن جي لاءِ بلڪل صحيح ۽ تز لفظن جي چونڊ ڪري ٿو. بسم الله ۽ سورة فاتحه اهڙي قسم جا دعا وارا ڪلام آهن. سچائي جي ملي وڃڻ ڪانپوءِ فطري طور تي ماڻهوءَ جي اندر جيڪو جذبو جاڳي ٿو، انهي جذبي کي هنن لفظن ۾ پويو ويو آهي.

ماڻهوءَ جو وجود ان لاءِ الله جو ڏنل هڪ عظيم تحفو آهي. ان جي عظمت جو اندازو اُن مان ڪري سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي چئجي تہ تون پنهنجون ٻئي اکيون ڪيرائي ڇڏ يا ٻئي پير ڪٽرائي ڇڏ تہ ان کان پوءِ توکي ملڪ جي بادشاهي ڏني ويندي تہ ڪوبہ شخص ان جي لاءِ راضي نہ ٿيندو. جڻ تہ اهي ابتدائي قدرتي تحفا بادشاهہ جي بادشاهيءَ کان بہ وڌيڪ قيمتي آهن. اهڙيءَ طرح ماڻهو جڏهن پنهنجي چؤطرف دنيا کي ڏسي ٿو تہ ان کي اُتي هر طرف خدا جي بادشاهت ۽ رحمت پلٽجندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اُن کي هر طرف غير معمولي اهتمام نظر اچي ٿو. هو ڏسي ٿو تہ دنيا جون سڀئي شيون حيرانگيءَ جي حد تائين انساني زندگيءَ جي ضرورتن مطابق ٺاهيون ويون آهن. اِهو مشاهدو هن کي ٻڌائي ٿو تہ ڪائنات جو هي عظيم ڪارخانو بي مقصد نہ ٿو ٿي سگهي. ان لاءِ لازمي طور تي اهڙو ڏينهن اچڻ گهرجي، جو ناشڪرن کان انهن جي ناشڪري واري زندگي جو پڇاڻو ڪيو وڃي ۽ شڪرگذارن کي انهن جي شڪر واري زندگيءَ جو انعام ڏنو وڃي. هو بي اختيار چئي ڏي ٿو تہ خدايا! تون فيصلي جي ڏينهن جو مالڪ آهين. آئون پنهنجي پاڻ کي تنهنجي حوالي ڪريان ٿو ۽ توکان ئي مدد گهران ٿو. تون مون کي پنهنجي پناهہ ۾ وٺي ڇڏ. خدايا! اسان کي اها واٽ ڏيکار، جيڪا تنهنجي نزديڪ سچي واٽ آهي. اسان کي ان واٽ تي هلڻ جي توفيق ڏي، جيڪا تنهنجي مقبول ٻانهن جي واٽ آهي. اسان کي ان واٽ کان بچاءِ جيڪا ڀٽڪيل ماڻهن جي واٽ آهي يا انهن ماڻهن جي واٽ آهي، جيڪي پنهنجي اڪڙ جي ڪري تنهنجي غضب جو شڪار ٿي وڃن ٿا.

الله جو گهربل ٻانهو اهو آهي جيڪو انهن احساسن ۽ ڪيفيتن سان گڏ دنيا ۾ جي رهيو هجي. سورة الفاتحه انهيءَ مؤمن ٻانهي جي ننڍي تصوير آهي ۽ باقي سڄو قرآن انهيءَ مؤمن ٻانهي جي وڏي تصوير.

(۲) سُوْرَةُ الْبَقَرَةِ مَدَنِيَّةٌ (۸۷) اٰيَاتُهَا ۲۸۶ رُكُوْعَاتُهَا ۴۰

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الٓمٓ ۝١ ذٰلِكَ الْكِتٰبُ لَا رَيْبَ ۛ فِيْهِ ۛ هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ ۝٢ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِالْغَيْبِ وَ
يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَ مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ۝٣ وَالَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَ مَآ
اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ ۚ وَ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ يُوْقِنُوْنَ ۝٤ اُولٰٓئِكَ عَلٰى هُدًى مِّنْ رَّبِّهِمْ ۙ وَ اُولٰٓئِكَ
هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۝٥

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

الف. لام. ميم. هي الله جو ڪتاب آهي. جنهن ۾ ڪوبه شڪ نه آهي. راهه ڏيکاري ٿو ڊپ رکڻ وارن کي. جيڪي يقين ڪن ٿا بنا ڏٺي ۽ نماز قائم ڪن ٿا ۽ جيڪو ڪجھ اسان انهن کي ڏنو آهي اُن مان خرچ ڪن ٿا ۽ جيڪي ايمان آڻين ٿا اُن تي جيڪو توتي نازل ڪيو ويو ۽ جيڪو توکان اڳ نازل ٿيو ۽ اهي آخرت تي يقين رکن ٿا. انهن ماڻهن پنهنجي رب جي راهه لڌي آهي ۽ اهي ئي ڪاميابيءَ کي پهچڻ وارا آهن. ۱-۵

هن ۾ شڪ نه آهي ته قرآن هدايت جو ڪتاب آهي، پر اِهو هدايت جو ڪتاب اُن لاءِ آهي جيڪو حقيقت ۾ هدايت جي ڳولا ۾ هجي ۽ هو جيڪو ان جي پرواهه ۽ ڪٽڪو رکندڙ هُجي. سچي طلب جيڪا فطرت جي زمين تي پيدا ٿيندي آهي، اِها طلب ئي سچائي کي ڳولي لهڻ جي شروعات آهي. سچي طلب ۽ سچائي جو ملڻ ٻئي هڪڙي ئي سفر جا پويان ۽ اڳيان مرحلا آهن. اِهو چڻ ته خود پنهنجي فطرت جي بند صفحن کي کولڻ آهي. جڏهن ماڻهو اُن جو سچو ارادو ڪري ٿو ته يڪدم فطرت جو ساٿ ۽ الله جي مدد ان سان گڏجي وڃن ٿيون، اُن کي پنهنجي فطرت جي مبهم پڪار جو واضح جواب ملڻ شروع ٿي ويندو آهي.

هڪ ماڻهوءَ جي اندر سچي طلب جو جاڳڻ عالم ظاهر جي پٺيان عالم باطن کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪرڻ آهي. اِها ڳولا جڏهن ملي وڃڻ جي مرحلي ۾ پهچي ٿي ته اِها ايمان بالغيب بڻجي ويندي آهي. اُها ئي شيءِ جيڪا شروعاتي مرحلي ۾ پنهنجي پاڻ کي هڪ برتر حقيقت جي حوالي ڪرڻ جي بي قراريءَ جو نالو هوندو آهي، اُها اڳئين مرحلي ۾ الله جو نمازي بڻجي وڃڻ جي شڪل اختيار ڪري وٺندي آهي. اهوئي جذبو جيڪو شروعات ۾ پنهنجي پاڻ کي خير اعليٰ جي لاءِ وقف ڪرڻ جي هم معنيٰ هوندو آهي، اهو اڳئين مرحلي ۾ الله جي راهه ۾ پنهنجو مال خرچ ڪرڻ جي شڪل اختيار ڪري وٺي ٿو. اُها ئي تلاش جيڪا زندگي جي هل هنگامن جي اڳيان اُن جو آخري انجام معلوم ڪرڻ جي صورت ۾ ڪنهن جي اندر پيدا ٿيندي آهي، اُها آخرت تي يقين جي صورت ۾ پنهنجي سوال جو جواب ڳولي لهي ٿي.

سچائي جو ملي وڃڻ چڻ ته پنهنجي شعور کي حقيقت اعليٰ جي هم سطح ڪري وٺڻ آهي. جيڪي ماڻهو حق کي اهڙيءَ طرح ڳولي لهن ٿا، اُهي هر قسم جي نفسياتي مونجهارن کان آزاد ٿي وڃن

تا ۽ اُهي سچائيءَ کي سندس ملاوٽ کان پاڪ صورت ۾ ڏسڻ لڳن ٿا. اُن ڪري سچائي جتي به هجي ۽ جنهن به الله جي ٻانهي جي زبان مان اُن جو اعلان ٿي رهيو هجي ته هو يڪدم اُن کي سڃاڻي وٺن ٿا ۽ اُن تي لبيڪ چون ٿا. ڪو به جمود، ڪهڙي به تقليد ۽ ڪهڙو به تعصب انهن لاءِ حق کي مڃڻ ۾ رڪاوٽ نه ٿو بڻجي. جن ماڻهن جي اندر اهي صفتون هجن، اُهي الله جي پناهه ۾ اچي وڃن ٿا. الله جو ٺاهيل نظام انهن کي قبول ڪري وٺي ٿو. اُنهن کي دنيا ۾ اُن سچي رستي تي هلڻ جي توفيق ملي وڃي ٿي،جنهن جي آخري منزل اها آهي ته انسان آخرت جي ابدي نعمتن ۾ داخل ٿي وڃي.

حق اُن کي ملي سگهي ٿو، جيڪو حق کي ڳولڻ وارو آهي ۽ جيڪو ڳوليندڙ آهي اُن کي ضرور ڳولي لهندو، هتي ڳولڻ ۽ ملڻ جي وچ ۾ ڪو به فاصلو نه آهي.

اِنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا سَوَآءٌ عَلَيۡهِمۡ ءَاَنۡذَرۡتَهُمۡ اَمۡ لَمۡ تُنۡذِرۡهُمۡ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ ۝٦ خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوۡبِهِمۡ وَعَلٰى سَمۡعِهِمۡ‌ؕ وَعَلٰىٓ اَبۡصَارِهِمۡ غِشَاوَةٌ‌ وَّلَهُمۡ عَذَابٌ عَظِيۡمٌ ۝٧

جن ماڻهن انڪار ڪيو انهن جي لاءِ برابر آهي ڊيڄارڻ يا نه ڊيڄارڻ، اُهي مڃڻ وارا نه آهن. الله انهن جي دلين تي ۽ انهن جي ڪنن تي مُهر لڳائي ڇڏي آهي ۽ سندن اکين تي پردو آهي ۽ انهن لاءِ وڏو عذاب آهي. ٦-٧

---

هڪ ماڻهو پنهنجي اک بند ڪري ڇڏي ته اک هوندي به هو سج کي نه ٿو ڏسي سگهي. ڪو ماڻهو پنهنجي ڪن ۾ ڪجهه وجهي ڇڏي ته ڪن هوندي به هو ٻاهر جي آواز کي نه ٿو ٻڌي سگهي. اهڙوئي ڪجهه معاملو حق جو به آهي. حق جو اعلان چاهي ڪيترو ئي واضح صورت ۾ ٿي رهيو هجي، پر هو ڪنهن جي لاءِ قابل سمجهه ۽ قبوليت جوڳو ان وقت ئي بڻجي ٿو جڏهن هو اُن جي لاءِ پنهنجي دل جا دروازا کليل رکي. جيڪو شخص پنهنجي دل جا دروازا بند ڪري ڇڏي، اُن جي لاءِ ڪائنات ۾ الله جي خاموش پڪار ۽ داعي جي زبان مان ان جو لفظي اعلان ٻئي اجايا ثابت ٿيندا.

حق جي دعوت جڏهن پنهنجي خالص شڪل ۾ اُٿندي آهي ته اِها ايتري ته حقيقت ۽ فطرت جي مطابق هوندي آهي جو ڪو به شخص اُن جي نوعيت کي سمجهڻ کان عاجز نه ٿو رهي سگهي. جيڪو به شخص کليل ذهن سان ان کي ڏسندو ته ان جي دل شاهدي ڏيندي ته هي عين حق آهي، پر اُن وقت عملي صورتحال اِها هوندي آهي ته هڪ طرف وقت جو رواجي ڍانچو هوندو آهي، جيڪو صدين جي عمل سان هڪ خاص صورت ۾ رائج ٿي وڃي ٿو ۽ اُن نظام تحت ڪجهه مذهبي يا غير مذهبي گاديون بڻجي وينديون آهن جن تي ڪجهه ماڻهو ويٺل هوندا آهن. ڪجهه عزت ۽ شهرت جون صورتون رائج ٿي ويندون آهن جن جا جهنڊا کڻي ڪجهه ماڻهو وقت جا معتبر بڻجي ويندا آهن. ڪجهه ڪاروبار ۽ مفاد قائم ٿي ويندا آهن جن سان پنهنجو پاڻ کي جوڙي ڪجهه ماڻهو اطمينان واري زندگي گذاري رهيا هوندا آهن.

اهڙين حالتن ۾ جڏهن هڪ اڻ ڄاتل ڪنڌ مان الله پنهنجي هڪ ٻانهي کي اٿاري ٿو ۽ ان جي زبان مان پنهنجي مرضي جو اعلان ڪرائي ٿو ته گهڻو ڪري ائين ٿيندو آهي جو اهڙي قسم جي ماڻهن کي پنهنجي ٺهيل ٺڪيل دنيا تباهه ٿيندي نظر ايندي آهي. حق جي پيغام جي مڪمل صداقت جي باوجود به

شيون انهن جي لاءِ هن ڪي صحيح طور سمجهڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي وينديون آهن. هڪ تڪبر يا وڏائي، ٻي دنيا پرستي. جيڪي ماڻهو رواجي نظام ۾ وڏائيءَ جي مرتبي تي ويٺل هوندا آهن، انهن ڪي هڪ ”ننڍي ماڻهو“ جي ڳالهه مڃڻ ۾ پنهنجي عزت خطري ۾ پوندي نظر ايندي آهي. اِهو احساس انهن جي اندر وڏائيءَ جي نفسيات ڪي جاڳائي ٿو ڇڏي. اهي داعيءَ کي پنهنجي مقابلي ۾ حقير سمجهي ان جي دعوت کي نظر انداز ڪري ٿا ڇڏين. اهڙيءَ طرح دنياوي مفادن جو سوال بہ حق کي قبولڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ حق جو داعي رواجي نظام جو نمائندو نہ هوندو آهي. هو هڪ نئين ۽ غير مانوس آواز کي کڻي اٿندو آهي، اُن ڪري اُن کي مڃڻ جي صورت ۾ ماڻهن کي پنهنجن مفادن جو نظام ٽٽندي نظر اچي ٿو.

اِهائي اُها روڪيندڙ ڪيفيت آهي، جنهن کي قرآن ۾ مهر لڳائڻ سان تعبير ڪيو ويو آهي، جيڪي ماڻهو حق جي دعوت جي معاملي کي سنجيده معاملو نہ ٿا سمجهن، جيڪي وڏائي ۽ دنيا پرستي جي نفسيات ۾ مبتلا هجن، انهن جي عقل تي اهڙا غيرمحسوس پردا پئجي وڃن ٿا، جيڪي حق جي ڳالهه کي انهن جي ذهن ۾ داخل ٿيڻ نٿا ڏين. ڪنهن شيءِ جي باري ۾ ماڻهوءَ جي اندر مخالفاڻي نفسيات پيدا ٿي وڃي تہ اُن کان پوءِ هو اُن جي معقوليت کي سمجهي نہ ٿو سگهي. چاهي اُن جي حق ۾ ڪيترا ئي واضح دليل ڇو نہ پيش ڪيا وڃن.

وقف لازم
وَ مِنَ النَّاسِ مَنۡ يَّقُوۡلُ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَ بِالۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ وَ مَا هُمۡ بِمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿٨﴾ يُخٰدِعُوۡنَ
اللّٰهَ وَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا ۚ وَ مَا يَخۡدَعُوۡنَ اِلَّاۤ اَنۡفُسَهُمۡ وَ مَا يَشۡعُرُوۡنَ ﴿٩﴾ؕ فِيۡ قُلُوۡبِهِمۡ مَّرَضٌ ۙ
فَزَادَهُمُ اللّٰهُ مَرَضًا ۚ وَ لَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ۬ۙ بِمَا كَانُوۡا يَكۡذِبُوۡنَ ﴿١٠﴾ وَ اِذَا قِيۡلَ لَهُمۡ لَا
تُفۡسِدُوۡا فِي الۡاَرۡضِ ۙ قَالُوۡۤا اِنَّمَا نَحۡنُ مُصۡلِحُوۡنَ ﴿١١﴾ اَلَاۤ اِنَّهُمۡ هُمُ الۡمُفۡسِدُوۡنَ وَ لٰكِنۡ
لَّا يَشۡعُرُوۡنَ ﴿١٢﴾ وَ اِذَا قِيۡلَ لَهُمۡ اٰمِنُوۡا كَمَاۤ اٰمَنَ النَّاسُ قَالُوۡۤا اَنُؤۡمِنُ كَمَاۤ اٰمَنَ
السُّفَهَآءُ ؕ اَلَاۤ اِنَّهُمۡ هُمُ السُّفَهَآءُ وَ لٰكِنۡ لَّا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿١٣﴾ وَ اِذَا لَقُوا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا قَالُوۡۤا
اٰمَنَّا ۚۖ وَ اِذَا خَلَوۡا اِلٰى شَيٰطِيۡنِهِمۡ ۙ قَالُوۡۤا اِنَّا مَعَكُمۡ ۙ اِنَّمَا نَحۡنُ مُسۡتَهۡزِءُوۡنَ ﴿١٤﴾ اَللّٰهُ
يَسۡتَهۡزِئُ بِهِمۡ وَ يَمُدُّهُمۡ فِيۡ طُغۡيَانِهِمۡ يَعۡمَهُوۡنَ ﴿١٥﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيۡنَ اشۡتَرَوُا الضَّلٰلَةَ
بِالۡهُدٰى ۠ فَمَا رَبِحَتۡ تِّجَارَتُهُمۡ وَ مَا كَانُوۡا مُهۡتَدِيۡنَ ﴿١٦﴾

۽ ماڻهن ۾ ڪجهه اهڙا بہ آهن جيڪي چون ٿا تہ اسان ايمان آندو الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي حالانڪ هو ايمان وارا نہ آهن. هو الله کي ۽ مؤمنن کي دوکو ڏيڻ چاهين ٿا. پر هو رڳو پنهنجي پاڻ کي دوکو ڏئي رهيا آهن. ۽ هو اُن جي سمجهہ نہ ٿا رکن. انهن جي دلين ۾ مرض آهي تنهنڪري الله انهن جي مرض کي وڌائي ڇڏيو ۽ انهن جي لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. اُن ڪري جو هو ڪوڙ ڳالهائيندا هئا ۽ جڏهن انهن کي چيو وڃي ٿو تہ زمين ۾ فساد نہ ڪريو تہ هو جواب ڏين ٿا تہ اسين تہ اصلاح ڪرڻ وارا آهيون. خبردار! اِهي ماڻهو ئي فساد ڪرڻ وارا آهن، پر هو نہ ٿا سمجهن. ۽ جڏهن کين چيو وڃي ٿو تہ توهان بہ اهڙيءَ طرح ايمان آڻيو، جهڙي طرح ٻين ماڻهن

ايمان آندو آهي تہ چوندا آهن تہ ڇا اسين بہ ائين ايمان آڻيون جيئن بيوقوف ماڻهن ايمان آندو آهي. خبردار! بيوقوف اِهي ئي ماڻهو آهن پر هو نہ ٿا ڄاڻن. ۽ جڏهن هو ايمان وارن سان ملن ٿا تہ چوندا آهن اسان ايمان آندو آهي ۽ جڏهن پنهنجن شيطانن جي مجلس ۾ پهچندا آهن تہ چوندا آهن تہ اسان توهان سان گڏ آهيون، اسان تہ انهن سان رڳو ٺٺول ڪندا آهيون. اللہ ساڻن مذاق ڪري رهيو آهي ۽ ڪين سندن سرڪشيءَ ۾ ڍر ڏئي رهيو آهي، هو ڀٽڪندا وتن. هِي اُهي ماڻهو آهن جن هدايت جي بدلي گمراهي خريد ڪئي، پوءِ سندن واپار فائدي وارو نہ ٿيو ۽ نہ وري اهي هدايت وارا ٿيا. ٨-١٦

---

جيڪي ماڻهو فائدن ۽ مصلحتن کي پهرين ترجيح ڏيو وينا هوندا آهن، انهن جي لاءِ اِها ناداني‌ءَ جي ڳالهہ هوندي آهي تہ ڪو ماڻهو تحفظ کان سواءِ پنهنجي پاڻ کي مڪمل طور حق جي حوالي ڪري ڇڏي. اهڙن ماڻهن جون حقيقي وفاداريون پنهنجن دنياوي مفادن سان هونديون آهن، البتہ اُن سان گڏوگڏ هو حق سان بہ پنهنجو هڪ ظاهري رشتو قائم ڪري وٺندا آهن. انهي ڪي هو عقلمندي سمجهن ٿا. هو سمجهن ٿا تہ اهڙيءَ طرح انهن جي دنيا بہ محفوظ آهي ۽ اُن سان گڏوگڏ انهن کي حق پرستي جو تمغو بہ حاصل آهي. پر اِها هڪ اهڙي خوش فهمي آهي جيڪا رڳو ماڻهو جي پنهنجي دماغ ۾ هوندي آهي ۽ سندن دماغ کان ٻاهر ڪٿي بہ اُن جو وجود نہ هوندو آهي. آزمائش جو هر موقعو انهن کي سچي دين کان ڪجهہ وڌيڪ پري ۽ پنهنجي مفاد پرستي واري دين جي ويجهو ڪري ڇڏي ٿو. ائين چڻ تہ سندن نفاق جو مرض وڌندو رهي ٿو. اهڙا ماڻهو جڏهن سچن مسلمانن کي ڏسندا آهن تہ انهن جو احساس اهو هوندو آهي تہ هو هرويرو سچائيءَ جي خاطر پنهنجي پاڻ کي برباد ڪري رهيا آهن. اُن جي مقابلي ۾ هو پنهنجي طريقي کي اصلاح جو طريقو چوندا آهن. ڇاڪاڻ تہ انهن کي نظر اچي ٿو تہ اهڙيءَ طرح ڪنهن سان بہ جهيڙي کان سواءِ پنهنجو سفر ڪاميابيءَ سان پورو ڪري سگهجي ٿو. پر اِها رڳو بي سمجهي جي ڳالهہ آهي، جيڪڏهن اهي غور ڪن تہ انهن تي واضح ٿي ويندو تہ اصلاح رڳو اِها آهي تہ ماڻهو رڳو پنهنجي رب جا ٿي وڃن، اُن جي ابتڙ فساد اهو آهي تہ خدا ۽ ٻانهي جي رشتي کي درست ڪرڻ جي لاءِ جيڪا تحريڪ هلي اُن ۾ رنڊڪون وڌيون وڃن. انهن جو بظاهر نفعي جو سودو حقيقت ۾ خساري جو سودو آهي، ڇاڪاڻ تہ هو خالص حق کي ڇڏي ملاوٽي حق کي پنهنجي لاءِ پسند ڪري رهيا آهن، جيڪو ڪنهن جي ڪجهہ بہ ڪم اچڻ وارو نہ آهي. پنهنجن دنياوي معاملن ۾ هوشيار هجڻ ۽ آخرت جي معاملي ۾ سرسري اُميدن کي ڪافي سمجهڻ چڻ تہ الله آڏو ڪوڙ ڳالهائڻ آهي. جيڪي ماڻهو ائين ڪن ٿا تہ انهن کي جلد ئي معلوم ٿي ويندو تہ هِن قسم جي ڪوڙي زندگي ماڻهوءَ کي الله وٽ عذاب کان سواءِ ڪنهن بہ شيءِ جو حقدار نہ ٿي بڻائي.

مَثَلُهُمْ كَمَثَلِ الَّذِى اسْتَوْقَدَ نَارًا ۚ فَلَمَّآ اَضَآءَتْ مَاحَوْلَهٗ ذَهَبَ اللّٰهُ بِنُوْرِهِمْ وَ
تَرَكَهُمْ فِىْ ظُلُمٰتٍ لَّا يُبْصِرُوْنَ ﴿١٧﴾ صُمٌّۢ بُكْمٌ عُمْىٌ فَهُمْ لَا يَرْجِعُوْنَ ﴿١٨﴾ اَوْ كَصَيِّبٍ مِّنَ
السَّمَآءِ فِيْهِ ظُلُمٰتٌ وَّ رَعْدٌ وَّ بَرْقٌ ۚ يَجْعَلُوْنَ اَصَابِعَهُمْ فِىْٓ اٰذَانِهِمْ مِّنَ الصَّوَاعِقِ
حَذَرَ الْمَوْتِ ؕ وَاللّٰهُ مُحِيْطٌۢ بِالْكٰفِرِيْنَ ﴿١٩﴾ يَكَادُ الْبَرْقُ يَخْطَفُ اَبْصَارَهُمْ ؕ كُلَّمَآ اَضَآءَ

لَهُمْ مَّشَوْا فِيْهِ ۙ وَ اِذَآ اَظْلَمَ عَلَيْهِمْ قَامُوْا ؕ وَ لَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَذَهَبَ بِسَمْعِهِمْ وَ
ع ٢ اَبْصَارِهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٢٠﴾

انهن جو مثال ائين آهي جيئن هڪ ماڻهو باهه ٻاري، پوءِ جڏهن باهه اُن جي چؤطرف روشني ڪري ڇڏي ته الله سندن بينائي کسي ورتي ۽ انهن کي اونداهيءَ ۾ ڇڏي ڏنائين جو انهن کي ڪجهه ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي. اُهي ٻوڙا آهن، گونگا آهن، انڌا آهن، هاڻي اِهي موٽڻ وارا نه آهن. يا انهن جو مثال ائين آهي جيئن آسمان مان مينهن وسي رهيو هجي اُن ۾ اونداهي، گوڙ ۽ وڄ به هجي. هو ڪڙڪي ڪان ڊڄي موت ڪان بچڻ لاءِ پنهنجون آڱريون ڪنن ۾ وجهي رهيا هجن حالانڪ الله انڪار ڪرڻ وارن کي گهيري رکيو آهي. قريب آهي ته وڄ انهن جي بينائي کسي وٺي. جڏهن به انهن تي ڪنوڻ چمڪي ٿي ته اُن ۾ هو هلن ٿا ۽ جڏهن مٿن اونده ٿئي ٿي ته بيهي رهن ٿا ۽ جيڪڏهن الله چاهي ته سندن ڪن ۽ اکيون کسي وٺي. بيشڪ الله هر شيءِ تي قادر آهي. ١٧-٢٠

---

ڪنهن ڪمري ۾ ڪاريون ۽ اڇيون شيون هجن ته جيستائين اونداهي آهي ته اُهي اونده ۾ گم رهنديون، پر روشني ٿيندي ئي ڪاري شيءِ ڪاري ۽ اڇي شيءِ اڇي ڏسڻ ۾ ايندي. ساڳيو حال الله جي طرفان آيل دعوتِ نبوت جو آهي. اِها خدائي روشني جڏهن ظاهر ٿيندي آهي ته اُن جي سوجهري ۾ هدايت ۽ گمراهي صاف صاف ڏسڻ ۾ ايندين آهن. نيڪ عمل چا آهي ۽ اُن جا نتيجا ڪهڙا آهن، بڇڙو عمل ڪهڙو آهي ۽ انهي جا نتيجا ڪهڙا آهن، سڀ ڪجهه پڌرو ٿي ڪري نيڪ نيڪ سامهون اچي ويندو آهي، پر جيڪي ماڻهو پنهنجي پاڻ کي حق جي تابع ڪرڻ بدران حق کي پنهنجي تابع ڪيو ويٺا هئا، سي اِها صورتحال ڏسي گهٻرائجي ويندا آهن، اُنهن جو لڪل حسد ۽ تڪبّر زنده ٿي اُنهن کي وڪوڙي وٺي ٿو. خدائي روشنيءَ ۾ پنهنجو چهرو ڏسندي ئي اُنهن جي منفي نفسيات اُڀري ايندي آهي. انهن جا اندروني تعصب انهن جي حواسن تي اهڙيءَ طرح غالب اچي وڃن ٿا جو هو اک، ڪن، زبان هوندي به اهڙا ٿي وڃن ٿا ڄڻ ته هو انڌا، ٻوڙا ۽ گونگا آهن. هاڻي هو نه ڪنهن سڏ ڪرڻ واري جو سڏ ٻڌي سگهن ٿا ۽ نه اُن جي سڏ جو ڪو جواب ڏيئي سگهن ٿا ۽ نه ئي ڪنهن قسم جي نشانيءَ مان رهنمائي حاصل ڪري سگهن ٿا. انهن جي لاءِ صحيح رويو اِهو هو ته هو سڏ ڪرڻ واري جي سڏ تي غور ڪن ها. پر اُن جي بدران انهن ان ڪان بچڻ جو سادو علاج اهو دريافت ڪيو جو هن جي ڳالهه کي ٻُڌو ئي نه وڃي ۽ نه ئي اُن کي ڪا اهميت ڏني وڃي.

اهڙي طرح هڪ ٻي نفسيات آهي، جيڪا حق کي قبول ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي ٿي. اها خوف جي نفسيات آهي. برسات الله تعاليٰ جي هڪ وڏي نعمت آهي. پر جڏهن به برسات اچي ٿي ته پاڻ سان گڏ گجگوڙ ۽ وڄ به آڻي ٿي، جنهن سان ڪمزور ماڻهن تي هيبت طاري ٿي ويندي آهي. ساڳي طرح جڏهن الله جي طرفان حق جي دعوت بلند ٿيندي آهي ته هڪڙي پاسي جيڪڏهن هو انسانن جي لاءِ عظيم ڪامرانين جا در کولي ٿي ته ٻئي پاسي اُن ۾ ڪجهه وقتي انديشا به ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اُن کي مڃڻ جي صورت ۾ پنهنجي وڏائيءَ جو خاتمو، زندگي جي نهيل ٺڪيل نقشي کي بدلڻ جي ضرورت، رواجي نظام سان ٽڪراءَ جا مسئلا، آخرت جي باري ۾ خوش خيالي جي بدران حقيقتن تي ڀروسو ڪرڻ. اهڙي قسم جي انديشن ۽ خطرن کي ڏسي اُهي ڪڏهن رُڪجي وڃن ٿا ۽ ڪڏهن شڪ شبهي سان ڪجهه قدم

اڳيان وڌندا آهن، پر اهي هوشياريون اُنهن جي ڪجهہ بہ ڪم اچڻ واريون نہ آهن. چاڪاڻ تہ خدائي پُڪار تي پنهنجي پاڻ کي ڪليل دل سان پيش نہ ڪري، اهي شديد طور تي پنهنجي پاڻ کي الله جي نظر ۾ قابل سزا بڻائي رهيا آهن.

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اعْبُدُوْا رَبَّكُمُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ وَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿٢١﴾
الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ فِرَاشًا وَّ السَّمَآءَ بِنَآءً ۪ وَّ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَخْرَجَ بِهٖ
مِنَ الثَّمَرٰتِ رِزْقًا لَّكُمْ ۚ فَلَا تَجْعَلُوْا لِلّٰهِ اَنْدَادًا وَّ اَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٢﴾ وَ اِنْ كُنْتُمْ فِيْ رَيْبٍ
مِّمَّا نَزَّلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا فَاْتُوْا بِسُوْرَةٍ مِّنْ مِّثْلِهٖ ۪ وَ ادْعُوْا شُهَدَآءَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ
كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٢٣﴾ فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا وَ لَنْ تَفْعَلُوْا فَاتَّقُوا النَّارَ الَّتِيْ وَ قُوْدُهَا النَّاسُ وَ
الْحِجَارَةُ ۖۚ اُعِدَّتْ لِلْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٤﴾ وَ بَشِّرِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ
تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ كُلَّمَا رُزِقُوْا مِنْهَا مِنْ ثَمَرَةٍ رِّزْقًا ۙ قَالُوْا هٰذَا الَّذِيْ رُزِقْنَا مِنْ
قَبْلُ ۙ وَ اُتُوْا بِهٖ مُتَشَابِهًا ؕ وَ لَهُمْ فِيْهَاۤ اَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ ۙۗ وَّ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢٥﴾

اي انسانو! پنهنجي رب جي عبادت ڪريو، جنهن توهان کي پيدا ڪيو ۽ انهن ماڻهن کي بہ جيڪي توهان کان اڳ ۾ گذري چڪا آهن تہ جيئن توهان (جهنم کان) بچي وڃو. اُها ذات جنهن زمين کي توهان جي لاءِ وڇاڻو ۽ آسمان کي ڇت بڻايو ۽ آسمان مان پاڻي وسايو ۽ ان سان پيدا ڪيائين ميوا توهان جي رزق جي لاءِ. پوءِ توهان ڪنهن کي بہ الله جي برابر نہ ڪريو جڏهن تہ توهان ڄاڻو ٿا. جيڪڏهن توهان هن ڪلام بابت شڪ ۾ آهيو جيڪو اسان پنهنجي ٻانهي جي مٿان نازل ڪيو تہ ان جهڙي هڪڙي سورت آڻي ڏيکاريو ۽ سڏي وٺو پنهنجن مددگارن کي بہ الله کان سواءِ جيڪڏهن توهان سچا آهيو. پوءِ جيڪڏهن توهان ائين نہ ڪري سگهو ۽ هرگز نہ ڪري سگهندو تہ پوءِ ڊڄو اُن باهہ کان جنهن جو ٻارڻ هوندا ماڻهو ۽ پٿر. اها تيار ڪئي وئي آهي ڪافرن جي لاءِ. ۽ خوشخبري ڏيو انهن ماڻهن کي جن ايمان آندو ۽ نيڪ ڪم ڪيا تہ انهن جي لاءِ اهڙا باغ هوندا جن جي هيٺان نهرون جاري هونديون. جڏهن بہ اُنهن کي باغن مان ڪو ميوو کائڻ جي لاءِ ملندو تہ هو چوندا تہ هي اُهو ئي آهي جيڪو هن کان پهرين اسان کي ڏنو ويو هو. ۽ ملندو انهن کي هڪ ٻئي سان ملندڙ جلندڙ. ۽ انهن لاءِ اُتي پاڪدامن عورتون هونديون. ۽ هو اُن ۾ هميشہ رهندا. ٢١-٢٥

---

انسان ۽ ان کان سواءِ جيڪو ڪجهہ بہ زمين ۽ آسمان ۾ آهي، سڀني جو پيدا ڪندڙ صرف الله آهي. اُن سڀني ڪائنات کي نهايت حڪمت سان قائم ڪيو آهي. هو هر گهڙي اُن جي پرورش ڪري رهيو آهي. اُن ڪري انسان جي لاءِ صحيح رويو صرف اِهو آهي تہ هو الله کي بغير ڪنهن شريڪ جي خالق، مالڪ ۽ رازق مڃي، هو اُن کي پنهنجو سڀ ڪجهہ بڻائي ڇڏي. پر جيئن تہ خدا نظر نہ ٿو اچي، ان ڪري اڪثر ائين ٿيندو آهي تہ ماڻهو ڪنهن نظر اچڻ واري شيءِ کي اهم سمجهي ڪري اُن کي خدا جي مقام تي ويهاري ڇڏيندو آهي. هو هڪ مخلوق کي جزئي يا ڪُلي طور تي خالق جي برابر ڪري ڇڏيندو آهي، ڪڏهن اُن کي خدا جو نالو ڏئي ڪري ۽ ڪڏهن خدا جو نالو ڏيڻ کان سواءِ.

اها ئي انسان جي اصل گمراهي آهي. پيغمبر جي دعوت اِها هوندي آهي تہ ماڻهو رڳو هڪ خدا کي وڏائي جو مقام ڏي. ان کان سواءِ جنهن کي بہ هُن خدائي عظمت واري مقام تي ويهاريو آهي، اُن کي عظمت جي مقام تان لاهي ڇڏي. جڏهن خالص خداپرستي جي دعوت اٿندي آهي تہ اُهي سڀ ماڻهو پاڻ کي اُن جي نشاني تي محسوس ڪندا آهن جن جون دليون خدا کان سواءِ ڪنهن ٻئي هنڌ اٽڪيل هجن. جن خدا کان سواءِ ڪنهن ٻي جي لاءِ بہ عظمت کي خاص ڪري ڇڏيو هجي. اهڙن ماڻهن کي پنهنجن فرضي معبودن سان جيڪو گهرو تعلق پيدا ٿي ويندو آهي، اُن جي ڪري انهن لاءِ اِهو يقين ڪرڻ مشڪل ٿي ويندو آهي تہ اُهي ٻي حقيقت آهن ۽ حقيقت صرف اُن پيغام جي آهي، جيڪو ماڻهن منجهان هڪ ماڻهوءَ جي زبان مان ٻڌايو پيو وڃي.

جيڪا دعوت خدا جي طرفان اُٿي، اُن ۾ لازمي طور تي خدائي شان شامل ٿي ويندو آهي. اُن جو ناقابل تقليد طرز ۽ ناقابل رد دليل، اُن ڳالهہ جي واضح سڃاڻپ هوندي آهي تہ اُها الله جي طرفان آهي. اُن جي باوجود جيڪي ماڻهو انڪار ڪن، اُنهن کي خدائي دنيا ۾ جهنم کان سواءِ ڪٿي بہ پناهہ نہ ٿي ملي سگهي. پر اُهي ماڻهو جن کي الله جي ڪلام ۾ الله ملي وڃي، انهن جڻ تہ اڄوڪي دنيا ۾ مستقبل جي دنيا کي ڏسي ورتو. اُهي ئي ماڻهو آهن جيڪي آخرت جي باغن ۾ داخل ڪيا ويندا.

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَسْتَحْيٖۤ اَنْ يَّضْرِبَ مَثَلًا مَّا بَعُوْضَةً فَمَا فَوْقَهَا ؕ فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا
فَيَعْلَمُوْنَ اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ۚ وَ اَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَيَقُوْلُوْنَ مَا ذَاۤ اَرَادَ اللّٰهُ بِهٰذَا
مَثَلًا ۘ يُضِلُّ بِهٖ كَثِيْرًا ۙ وَّ يَهْدِيْ بِهٖ كَثِيْرًا ؕ وَ مَا يُضِلُّ بِهٖۤ اِلَّا الْفٰسِقِيْنَ ۙ﴿۲۶﴾ الَّذِيْنَ
يَنْقُضُوْنَ عَهْدَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مِيْثَاقِهٖ ۪ وَ يَقْطَعُوْنَ مَاۤ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖۤ اَنْ يُّوْصَلَ وَ
يُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۲۷﴾ كَيْفَ تَكْفُرُوْنَ بِاللّٰهِ وَ كُنْتُمْ
اَمْوَاتًا فَاَحْيَاكُمْ ۚ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ ثُمَّ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۲۸﴾ هُوَ الَّذِيْ خَلَقَ
لَكُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ۗ ثُمَّ اسْتَوٰۤى اِلَى السَّمَآءِ فَسَوّٰىهُنَّ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ ؕ وَ هُوَ
بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۲۹﴾

الله انهيءَ کان نہ ٿو شرمائي جو بيان ڪري مثال مڇر جو يا ان کان بہ ڪنهن ننڍي شيءِ جو. پوءِ جيڪي ايمان وارا آهن هو ڄاڻن ٿا تہ اُهو حق آهي انهن جي رب جي طرفان ۽ جن انڪار ڪيو سي چون ٿا تہ ڀلا هِن مثال کي بيان ڪري الله ڇا ٿو چاهي. الله هن جي ذريعي گهڻن کي گمراهہ ڪري ٿو ۽ گهڻن کي هِن جي ذريعي راهہ ڏيکاري ٿو ۽ هو گمراهہ ڪري ٿو، انهن ماڻهن کي جيڪي نافرماني ڪرڻ وارا آهن. جيڪي الله سان عهد ڪرڻ کان پوءِ ان کي ٽوڙين ٿا ۽ اُن شيءِ کي ٽوڙين ٿا، جنهن کي الله ڳنڍڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ زمين ۾ فساد برپا ڪن ٿا. اِهي ئي ماڻهو نقصان پائڻ وارا آهن. اوهان ڪهڙي طرح الله جو انڪار ڪيو ٿا حالانڪ اوهان بي جان هُئا، پوءِ هُن اوهان کي زندگي عطا ڪئي، پوءِ وري هو اوهان کي موت ڏيندو. پوءِ وري زندهہ ڪندو. پوءِ اُن ڏانهن وري موٽايا ويندؤ. اُهو ئي آهي جنهن توهان لاءِ سڀ ڪجهہ پيدا ڪيو جيڪو زمين ۾ آهي. پوءِ آسمان ڏانهن توجهہ ڪيائين ۽ ست آسمان درست ڪيائين ۽ هو هر شيءِ کي ڄاڻڻ وارو آهي. ٢٦-٢٩

ڪنهن ٻانهي جي مٿان الله جو سڀ کان پهريون حق اِهو آهي ته هو الله جي ٻانهپ جي اُن عهد کي نڀائي جيڪو پيدا ڪرڻ واري ۾ پيدا ٿيندڙ جي وچ ۾ اول ڏينهن کان قائم ٿي چڪو آهي. پوءِ هو انسانن جي وچ ۾ اهڙيءَ طرح رهي جو انهن سڀني رشتن ۽ ناتن کي مضبوطي سان قائم رکي جن کي قائم رکڻ جو الله حڪم ڏنو آهي. ٽين شيءِ اِها ته جڏهن الله پنهنجي هڪ ٻانهي جي زبان مان پنهنجي پيغام جو اعلان ڪرائي ته اُن جي خلاف بي بنياد ڳالهيون ڪري الله جي ٻانهن کي اُن کان پري ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي وڃي. حق جي دعوت ڏيڻ اصل ۾ ماڻهن کي فطري حالت تي آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ آهي. اُن ڪري جيڪو شخص ماڻهن کي اُن کان روڪڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته هو زمين تي فساد ڪرڻ جو مجرم بڻجي ٿو.

الله جو اِهو احسان آهي ته هُن ماڻهوءَ کي عدم کان وجود ۾ آندو. اِهو ايترو ته وڏو احسان آهي جو ماڻهوءَ کي مڪمل طور تي اُن جي اڳيان عاجزي اختيار ڪرڻ گهرجي. پوءِ الله انسان کي پيدا ڪري ائين ئي ڇڏي ناهي ڏنو، پر اُن کي رهڻ جي لاءِ هڪ اهڙي زمين ڏني جيڪا اُن جي لاءِ تمام موافق ڍنگ تي ٺاهي وئي هئي. پوءِ ڳالهه رڳو ايتري ئي نه آهي، پر اُن کان گهڻي اڳتي جي آهي ته انسان هر وقت ان نازڪ امڪان جي ويجهو بيٺو آهي ته اُن جو موت اچي وڃي ۽ هو اوچتو مالڪ ڪائنات جي اڳيان حساب ڪتاب جي لاءِ پيش ڪيو وڃي. انهن ڳالهين جو تقاضا آهي ته ماڻهو مڪمل طور الله جو ٿي وڃي، اُن جي ياد ۽ ان جي فرمانبرداري ۾ زندگي گذاري. سڄي عمر هو الله جو ٻانهو ٿي رهي.

پيغمبر جي دعوت جو انتهائي واضح ۽ دليل سان هجڻ جي باوجود ڇو اڪثر ماڻهو ان کي قبول نه ڪري سگهندا آهن. ان جو سڀ کان وڏو ڪارڻ شوشي ڇڏڻ جو فتنو آهي. ماڻهو جي اندر نصيحت وٺڻ وارو ذهن نه هجي ته هو ڪنهن به ڳالهه کي سنجيدگي سان نه ٿو وٺي، اهڙي ماڻهو جي سامهون جڏهن به ڪو دليل اچي ٿو ته هو ان کي لاپرواهيءَ سان ڏسي ڪري هڪ بي بنياد شوشو اٿاري ٿو ڇڏي. اهڙيءَ طرح هو ظاهر ڪري ٿو ته هيءَ دعوت ڪا معقول دعوت نه آهي. جيڪڏهن اِها معقول دعوت هجي ها ته ڪيئن ممڪن هو ته انهي ۾ اهڙي قسم جون بي وزن ڳالهيون شامل هجن. پر جيڪي نصيحت وٺڻ وارا ذهن آهن، جيڪي ڳالهين تي سنجيدگي سان غور ڪن ٿا، انهن کي حق کي سڃاڻڻ ۾ دير نه ٿي لڳي، چاهي حق کي "مڇر" جهڙن مثالن سان ڇو نه بيان ڪيو ويو هجي.

وَ اِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اِنِّيْ جَاعِلٌ فِي الْاَرْضِ خَلِيْفَةً ؕ قَالُوْٓا اَتَجْعَلُ فِيْهَا مَنْ يُّفْسِدُ
فِيْهَا وَ يَسْفِكُ الدِّمَآءَ ۚ وَ نَحْنُ نُسَبِّحُ بِحَمْدِكَ وَ نُقَدِّسُ لَكَ ؕ قَالَ اِنِّيْٓ اَعْلَمُ مَا لَا
تَعْلَمُوْنَ ﴿۳۰﴾ وَعَلَّمَ اٰدَمَ الْاَسْمَآءَ كُلَّهَا ثُمَّ عَرَضَهُمْ عَلَى الْمَلٰٓئِكَةِ ۙ فَقَالَ اَنْۢبِـُٔوْنِيْ
بِاَسْمَآءِ هٰٓؤُلَآءِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۳۱﴾ قَالُوْا سُبْحٰنَكَ لَا عِلْمَ لَنَآ اِلَّا مَا عَلَّمْتَنَا ؕ اِنَّكَ
اَنْتَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ﴿۳۲﴾ قَالَ يٰٓاٰدَمُ اَنْۢبِئْهُمْ بِاَسْمَآئِهِمْ ۚ فَلَمَّآ اَنْۢبَاَهُمْ بِاَسْمَآئِهِمْ ۙ
قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ اِنِّيْٓ اَعْلَمُ غَيْبَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ۙ وَ اَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ وَ مَا
كُنْتُمْ تَكْتُمُوْنَ ﴿۳۳﴾

۽ جڏهن تنهنجي رب فرشتن کي چيو تہ آءٌ زمين ۾ هڪ خليفو بڻائڻ وارو آهيان. فرشتن چيو: ڇا تون زمين ۾ اهڙن ماڻهن کي پيدا ڪندين جيڪي ان ۾ فساد ڪن ۽ رت وهائين. ۽ اسان تنهنجي حمد ڪريون ٿا ۽ تنهنجي پاڪائي بيان ڪريون ٿا. الله چيو تہ آءٌ ڄاڻان ٿو جيڪو توهان نہ ٿا ڄاڻو. ۽ الله سيکاريا آدم کي سڀئي نالا. پوءِ ان کي فرشتن جي سامهون پيش ڪيائين ۽ چيو تہ جيڪڏهن اوهين سچا آهيو تہ مون کي انهن ماڻهن جا نالا ٻڌايو. فرشتن چيو تہ تون پاڪ آهين. اسان تہ اهو ئي ڪجهہ ڄاڻون ٿا جيڪو تو اسان کي ٻڌايو. بيشڪ تون ئي علم وارو ۽ حڪمت وارو آهين. الله چيو اي آدم! هِنن کي ٻڌاءِ انهن ماڻهن جا نالا. پوءِ جڏهن آدم ٻڌايا انهن کي اُنهن ماڻهن جا نالا تہ الله چيو ڇا مون توهان کي نہ چيو هو تہ آسمانن ۽ زمين جا راز آءٌ ئي ڄاڻان ٿو ۽ آءٌ ڄاڻان ٿو جيڪو توهان ظاهر ڪريو ٿا ۽ جيڪو توهان لڪايو ٿا. ٣٠-٣٣

---

خليفي جي لفظي معنيٰ آهي ڪنهن کان پوءِ ان جي جڳهہ وٺڻ وارو جانشين. موروثي اقتدار جي دور ۾ هي لفظ ڪثرت سان حڪمرانن جي لاءِ استعمال ٿيو. جيڪي هڪٻئي پٺيان تخت تي ويهندا هئا. اهڙيءَ طرح استعمال جي لحاظ کان لفظ خليفو صاحب اقتدار جي معنيٰ ۾ رائج ٿي ويو.

الله تعاليٰ جڏهن انسان کي پيدا ڪيو تہ اِهو بہ فيصلو ڪيائين تہ هو هڪ بااختيار مخلوق جي حيثيت ۾ زمين تي آباد ٿيندو. فرشتن کي انديشو ٿيو تہ اختيار ۽ اقتدار حاصل ڪرڻ کان پوءِ انسان بگڙي نہ وڃي ۽ زمين ۾ رتوڇاڻ ڪرڻ نہ لڳي. فرشتن جو اهو انديشو غلط نہ هو. الله کي بہ ان امڪان جو پورو علم هو. پر الله جي نظر ان ڳالهہ تي هئي تہ انسانن مان جيڪڏهن ڪيترائي ماڻهو آزادي حاصل ڪري بگڙي ويندا تہ هڪ چڱو خاصو تعداد انهن ماڻهن جو بہ هوندو، جيڪي آزادي ۽ اختيار جي باوجود پنهنجي حيثيت ۽ پنهنجي رب جي مقام کي سڃاڻيندا ۽ ڪنهن دٻاءَ کان سواءِ پنهنجي ارادي سان تسليم ۽ اطاعت جو طريقو اختيار ڪندا. اِهي ٻئي قسم وارا ماڻهو جيتوڻيڪ تعداد ۾ گهٽ هوندا، پر هو فصل جي داڻن وانگر قيمتي هوندا. فصل ۾ ڪانن ۽ ٻُهہ جو مقدار هميشہ وڌيڪ هوندو آهي. پر داڻا گهٽ هجڻ جي باوجود ايڏا تہ قيمتي هوندا آهن جو انهن جي ڪري ڪانن ۽ ٻُهہ جي ڍڳ کي وڌڻ ۽ ڦهلجڻ جو موقعو ڏنو ويندو آهي.

الله پنهنجي قدرت سان آدم جي سموري اولاد کي هڪ ئي وقت هنن جي سامهون ڪري ڇڏيو. پوءِ فرشتن کي چيو تہ ڏسو هي آهي آدم جو اولاد. هاڻي ٻڌايو تہ انهن ۾ ڪير ڪير آهي ۽ ڪهڙا ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهن. فرشتا ناواقفيت جي ڪري ٻڌائي نہ سگهيا. الله تعاليٰ انهن جي نالن ۽ شخصيتن کان آدم کي آگاهہ ڪيو، پوءِ چيائين فرشتن جي اڳيان انهن جو تعارف پيش ڪر. جڏهن آدم عليہ السلام تعارف ڪرايو تہ فرشتن کي معلوم ٿيو تہ آدم جي اولاد مان فسادين ۽ بُرن ماڻهن کان سواءِ ڪهڙا ڪهڙا صالح ۽ متقي ماڻهو هوندا. انسان جو سڀ کان وڏو ڏوهہ رب جي انڪار کان پوءِ زمين ۾ فساد ڪرڻ ۽ رت وهائڻ آهي. ڪنهن فرد يا جماعت جي لاءِ اِهو جائز نہ آهي تہ هو اهڙا ڪم ڪري جنهن جي نتيجي ۾ زمين تي خدا جو قائم ڪيل فطرت جو نظام بگڙي وڃي ۽ انسان، انسان کي مارڻ لڳي. اهڙو هر ڪم ماڻهوءَ کي الله جي رحمتن کان محروم ڪري ٿو ڇڏي. زمين ۾ خدا جي ڦاهيل فطري نظام جو قائم رهڻ ان جي اصلاح ۽ زمين جي فطري نظام کي بگاڙڻ اُن جو فساد آهي.

وَ اِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ اَبٰى وَ اسْتَكْبَرَ ٭ وَ كَانَ مِنَ
الْكٰفِرِيْنَ ﴿٣٤﴾ وَ قُلْنَا يٰٓاٰدَمُ اسْكُنْ اَنْتَ وَ زَوْجُكَ الْجَنَّةَ وَ كُلَا مِنْهَا رَغَدًا حَيْثُ شِئْتُمَا ۪ وَ لَا
تَقْرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ فَتَكُوْنَا مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٣٥﴾ فَاَزَلَّهُمَا الشَّيْطٰنُ عَنْهَا فَاَخْرَجَهُمَا مِمَّا كَانَا
فِيْهِ ۪ وَ قُلْنَا اهْبِطُوْا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ۚ وَ لَكُمْ فِي الْاَرْضِ مُسْتَقَرٌّ وَّ مَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ ﴿٣٦﴾
فَتَلَقّٰۤى اٰدَمُ مِنْ رَّبِّهٖ كَلِمٰتٍ فَتَابَ عَلَيْهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿٣٧﴾ قُلْنَا اهْبِطُوْا مِنْهَا
جَمِيْعًا ۚ فَاِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ مِّنِّيْ هُدًى فَمَنْ تَبِعَ هُدَايَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ
ع يَحْزَنُوْنَ ﴿٣٨﴾ وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَاۤ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٣٩﴾

۽ جڏهن اسان فرشتن کي چيو ته آدم کي سجدو ڪريو ته انهن سجدو ڪيو، پر ابليس نه ڪيو. هن انڪار ڪيو ۽ تڪبر ڪيو ۽ ڪافرن مان ٿي ويو. ۽ اسان چيو اي آدم! تون ۽ تنهنجي گهر واري ٻئي جنت ۾ رهو ۽ ان مان جتان چاهيو مزي سان خوب کائيندا رهو ۽ هُن وڻ جي ويجها نه وڃجو نه ته توهان ظالمن مان ٿي پوندؤ. پوءِ شيطان ان وڻ جي ذريعي ٻنهي کي غلطي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو ۽ انهن کي ان عيش مان ڪيرائي ڇڏيو جنهن ۾ هو هئا. ۽ اسان چيو توهان سڀ هتان لهو. توهان هڪ ٻئي جا دشمن ٿيندؤ ۽ توهان جي لاءِ زمين ۾ ترسڻ ۽ هڪ مقرر وقت تائين گذر سفر ڪرڻ آهي.پوءِ آدم سکي ورتا پنهنجي رب کان ڪجھ ڪلما، پوءِ الله سندس توبهه قبول ڪئي. بيشڪ هو توبهه قبول ڪرڻ وارو ۽ رحم ڪرڻ وارو آهي. اسان چيو توهان سڀ هِتان لهي وڃو. پوءِ جڏهن اچي منهنجي طرفان توهان وٽ ڪا هدايت ته جيڪي منهنجي هدايت جي پيروي ڪندا، انهن لاءِ نه ڪو ڊپ هوندو ۽ نه وري هو غمگين ٿيندا. ۽ جيڪي ماڻهو انڪار ڪندا ۽ اسان جي نشانين کي ڪوڙو سمجهندا، اهي ئي ماڻهو جهنمي آهن، اهي ان ۾ هميشه رهندا. ٣٤-٣٩

---

آدم کي الله تعاليٰ فرشتن ۽ ابليس جي وچ ۾ ٻيهاريو ۽ سجدي جي امتحان جي ذريعي آدم کي عملي طور تي ٻڌايو ته ان جي لاءِ زمين تي ٻه ممڪن رستا هوندا، هڪ فرشتن وانگر حڪم الٰهي جي سامهون جهڪي وڃڻ، توڙي ان جو مطلب پاڻ کان هڪ گهٽ ماڻهو جي اڳيان جهڪڻ چو نه هجي. ٻيو ابليس وانگر پاڻ کي وڏو سمجهڻ ۽ ٻئي جي اڳيان جهڪڻ کان انڪار ڪري ڇڏڻ. انسان جي پوري زندگي انهيءَ امتحان لاءِ جنگ جو ميدان آهي.

هِتي هر وقت ماڻهوءَ کي انهن ٻنهي روين مان ڪنهن هڪ رويي جي چونڊ ڪرڻي پوي ٿي. هڪ فرشتن وارو رويو، يعني دنياوي زندگي ۾ جيڪو به معاملو پيش اچي، الله جي حڪم جي تعميل ۾ ماڻهو حق ۽ انصاف جي اڳيان جهڪي وڃي. ٻيو شيطاني رويو يعني جڏهن ڪو معاملو پيش اچي ته ماڻهوءَ ۾ حسد ۽ تڪبر واري نفسيات جاڳي پوي ۽ هو ان جي اثر ۾ اچي صاحب معامله جي اڳيان جهڪڻ کان انڪار ڪري.

منع ٿيل وڻ جو معاملو به ان ئي قسم جو هڪ عملي سبق آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته انسان جي ڀٽڪي وڃڻ جي شروعات اتان ٿيندي آهي جتان هو شيطان جي ورغلائڻ ۾ اچي وڃي ۽ ان حد ۾ قدم

ركي جنهن ۾ داخل ٿيڻ کان الله منع ڪيو آهي. ”منع ڪيل ميوي“ کي کائيندي ئي ماڻهو الله جي مدد، ٻين لفظن ۾ جنت جي حق کان محروم ٿي ويندو آهي. جيئن ته اها محرومي اهڙي نه آهي جنهن جي تلافي نه ٿي سگهي. ماڻهو لاءِ هي رستو پوءِ به کليل رهندو آهي ته هو وري به پنهنجي رب ڏانهن واپس موٽي ۽ پنهنجي رويي کي نيڪ ڪندي الله تعاليٰ کان معافي جو طلبگار ٿئي. جڏهن ٻانهو اهڙيءَ طرح واپس موٽي ٿو ته الله به ان ڏانهن موٽي ٿو ۽ ان کي اهڙيءَ طرح پاڪ ڪري ٿو ڄڻ ته هن گناهه ئي نه ڪيو هجي.

ڪنهن انساني آبادي ۾ الله جي دعوت جو ڪم به اهڙي قسم جو هڪ سخت امتحان آهي. حق جو داعي به ڄڻ ته هڪ ”آدم“ هوندو آهي، جنهن جي سامهون ماڻهن کي جهڪي وڃڻ کپي. جيڪڏهن هو پنهنجي تڪبر ۽ تعصب جي ڪري ان جو اعتراف نه ڪن ته ڄڻ انهن ابليس جي پيروي ڪئي. الله تعاليٰ هن دنيا ۾ ظاهري طور تي سامهون نه ٿو اچي، هو پنهنجن نشانين جي ذريعي ماڻهن جي آزمائش ڪري ٿو. جنهن کي خدا جي نشانين ۾ خدا مليو، ان ئي خدا کي لڌو ۽ جنهن کي خدا جي نشانين ۾ خدا نه مليو ته هو خدا کان محروم رهجي ويو.

يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَ اَوْفُوْا بِعَهْدِيْٓ اُوْفِ بِعَهْدِكُمْ ۚ
وَ اِيَّايَ فَارْهَبُوْنِ ﴿۴۰﴾ وَ اٰمِنُوْا بِمَآ اَنْزَلْتُ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَكُمْ وَ لَا تَكُوْنُوْٓا اَوَّلَ كَافِرٍۭ بِهٖ ۖ
وَ لَا تَشْتَرُوْا بِاٰيٰتِيْ ثَمَنًا قَلِيْلًا ۫ وَّ اِيَّايَ فَاتَّقُوْنِ ﴿۴۱﴾ وَ لَا تَلْبِسُوا الْحَقَّ بِالْبَاطِلِ وَ
تَكْتُمُوا الْحَقَّ وَ اَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۴۲﴾ وَ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ وَ ارْكَعُوْا مَعَ
الرّٰكِعِيْنَ ﴿۴۳﴾ اَتَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبِرِّ وَ تَنْسَوْنَ اَنْفُسَكُمْ وَ اَنْتُمْ تَتْلُوْنَ الْكِتٰبَ ۭ
اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۴۴﴾ وَ اسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَ الصَّلٰوةِ ۭ وَ اِنَّهَا لَكَبِيْرَةٌ اِلَّا عَلَى الْخٰشِعِيْنَ ﴿۴۵﴾
ع الَّذِيْنَ يَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلٰقُوْا رَبِّهِمْ وَ اَنَّهُمْ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ ﴿۴۶﴾

اي بني اسرائيل! ياد ڪريو منهنجي ان احسان کي جيڪو مون توهان تي ڪيو ۽ منهنجي عهد کي پورو ڪريو، آءٌ توهان جي عهد کي پورو ڪندس ۽ منهنجو ئي ڊپ رکو. ۽ ايمان آڻيو ان شيءِ تي جيڪا مون نازل ڪئي آهي، تصديق ڪندڙ آهي ان شيءِ جي جيڪا توهان وٽ آهي ۽ توهان سڀني کان اڳ ان جو انڪار ڪرڻ وارا نه ٿيو ۽ نه وٺو منهنجي آيتن تي ٿورو ملهه. ۽ مون کان ڊڄو. ۽ صحيح ۾ غلط کي نه ملايو ۽ سچ کي نه لڪايو ڇاڪاڻ ته توهان ڄاڻو ٿا. ۽ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ادا ڪريو ۽ جهڪڻ وارن سان گڏ جهڪي وڃو. توهان ماڻهن کي نيڪيءَ جو حڪم ڪريو ٿا ۽ پنهنجو پاڻ کي وساري ٿا ڇڏيو. حالانڪ توهان ڪتاب جي تلاوت ڪريو ٿا، ڇا توهان سمجهو نه ٿا. ۽ مدد وٺو صبر ۽ نماز سان ۽ بيشڪ اِها ڳري آهي پر انهن ماڻهن جي لاءِ نه جيڪي ڊڄڻ وارا آهن. جيڪي سمجهن ٿا ته انهن کي پنهنجي رب سان ملڻو آهي ۽ اهي ان ڏانهن موٽڻ وارا آهن. ۴۰-۴۶

---

ڪنهن جماعت تي الله جو سڀني کان وڏو انعام اهو آهي ته هو انهن ڏانهن پنهنجو پيغمبر موڪلي ۽ ان جي ذريعي ان جماعت جي لاءِ ابدي فلاح جو رستو کولي. نبي آخر الزمانﷺ جي رسالت

ڪان اڳ اها نعمت بني اسرائيل کي ڏني وئي هئي. پر زمانو گذرڻ ڪان پوءِ انهن جو دين انهن جي لاءِ هڪ قسم جي تقليدي رسم بڻجي ويو. نه وري شعوري فيصلي تحت اختيار ڪيل ڪا شيءِ. نبي عربيﷺ جي رسالت هن حقيقت کي کولي ڇڏيو. يهودين منجهان جن ماڻهن جو شعور زنده هو. انهن فورًا پاڻﷺ جي صداقت کي سڃاتي ورتو ۽ پاڻﷺ جا ساٿي بڻجي ويا ۽ جن ماڻهن جي لاءِ انهن جو دين خانداني رواج بڻجي چڪو هو. انهن کي پاڻﷺ جو آواز اوپرو لڳو. اُهي پاڻﷺ جا مخالف بڻجي ويا.

جيتوڻيڪ پاڻﷺ جي نبوت جي باري ۾ توريت ۾ ايتريون ته واضح نشانيون هيون. جو يهودين جي لاءِ پاڻﷺ جي صداقت کي سمجهڻ مشڪل نه هو. پر دنياوي مفادن ۽ مصلحتن جي ڪري انهن پاڻﷺ کي مڃڻ کان انڪار ڪيو. صدين جي عمل سان انهن وٽ جيڪو مذهبي ڍانچو بڻجي ويو هو. جنهن ۾ انهن کي سرداري حاصل ٿي وئي هئي. هو بزرگن جي گادين تي ويهڻ ڪري عوام جي توجهه جا مرڪز بڻجي چڪا هئا. مذهب جي نالي تي هر طرح جا نذرانا سڄو سال انهن کي ملندا رهندا هئا. انهن کي نظر آيو ته جيڪڏهن انهن نبي عربيﷺ کي سچو مڃي ورتو ته انهن جو مذهبي مرتبو ختم ٿي ويندو. مفادن جو سمورو نظام تباهه ٿي ويندو. چاڪاڻ ته يهودين کي ان وقت عرب ۾ مذهب جي نمائندگيءَ جو مقام حاصل هو. ماڻهو انهن کان نبي عربيﷺ بابت پڇندا هئا. هو معصوماڻي انداز ۾ ڪو اهڙو شوشو ڇڏي ڏيندا هئا جنهن سان پيغمبر جي ذات ۽ پاڻﷺ جي جدوجهد ماڻهن جي نظر ۾ مشڪوڪ ٿي وڃي. پنهنجن واعظن ۾ ماڻهن کي چوندا هئا ته حق پرست ٿيو ۽ حق جو ساٿ ڏيو. پر عملي طور تي جڏهن خود انهن تي حق جو ساٿ ڏيڻ جو وقت آيو ته هو حق جو ساٿ نه ڏيئي سگهيا.

خدا جي پڪار تي لبيڪ چوڻ جڏهن هِن قيمت تي هجي ته ماڻهن کي پنهنجي زندگيءَ جو نقشو تبديل ڪرڻو پوي، عزت ۽ بزرگيءَ جي گادين تان پنهنجي پاڻ کي لاهڻو پوي ته اهو وقت انهن ماڻهن جي لاءِ ڏاڍو سخت هوندو آهي جيڪي دنياوي شان ۽ شوڪت ۾ پنهنجو مذهبي مقام بڻايو ويٺا هجن. پر اُهي ماڻهو جيڪي عاجزي ۽ نوڙت واري زندگي گذاري رهيا هجن. انهن جي لاءِ اهي شيون رنڊڪ نٿيون بڻجن. هو الله جي ياد ۾، الله جي لاءِ خرچ ڪرڻ ۾، الله جي حڪم اڳيان جهڪڻ ۾ ۽ الله جي لاءِ صبر ڪرڻ ۾ اُها شيءِ ڳولي وٺن ٿا. جيڪي ٻيا ماڻهو دنياوي تماشن ۾ حاصل ڪندا آهن. هو چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا ته ڊڄڻ جي شيءِ الله جو غضب آهي، نه وري دنيا جا خوف ۽ انديشا.

يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَ اَنِّيْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٧﴾ وَ
اتَّقُوْا يَوْمًا لَّا تَجْزِيْ نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَيْـًٔا وَّ لَا يُقْبَلُ مِنْهَا شَفَاعَةٌ وَّ لَا يُؤْخَذُ مِنْهَا
عَدْلٌ وَّ لَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَ اِذْ نَجَّيْنٰكُمْ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ
يُذَبِّحُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ وَ يَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ ؕ وَ فِيْ ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ﴿٤٩﴾ وَ
اِذْ فَرَقْنَا بِكُمُ الْبَحْرَ فَاَنْجَيْنٰكُمْ وَ اَغْرَقْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ وَ اَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿٥٠﴾ وَ اِذْ
وٰعَدْنَا مُوْسٰى اَرْبَعِيْنَ لَيْلَةً ثُمَّ اتَّخَذْتُمُ الْعِجْلَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَ اَنْتُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿٥١﴾ ثُمَّ

عَفَوْنَا عَنْكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ۝٥٢ وَ اِذْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَ الْفُرْقَانَ
لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ۝٥٣ وَ اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ اِنَّكُمْ ظَلَمْتُمْ اَنْفُسَكُمْ بِاتِّخَاذِكُمُ
الْعِجْلَ فَتُوْبُوْۤا اِلٰى بَارِىِٕكُمْ فَاقْتُلُوْۤا اَنْفُسَكُمْ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ عِنْدَ بَارِىِٕكُمْ ؕ
فَتَابَ عَلَيْكُمْ ؕ اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ۝٥٤ وَ اِذْ قُلْتُمْ يٰمُوْسٰى لَنْ نُّؤْمِنَ لَكَ حَتّٰى نَرَى
اللّٰهَ جَهْرَةً فَاَخَذَتْكُمُ الصّٰعِقَةُ وَ اَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ۝٥٥ ثُمَّ بَعَثْنٰكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَوْتِكُمْ
لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ۝٥٦ وَ ظَلَّلْنَا عَلَيْكُمُ الْغَمَامَ وَ اَنْزَلْنَا عَلَيْكُمُ الْمَنَّ وَ السَّلْوٰى ؕ كُلُوْا
مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ ؕ وَ مَا ظَلَمُوْنَا وَ لٰكِنْ كَانُوْۤا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ۝٥٧

اي بني اسرائيل! منهنجي اُن احسان کي ياد ڪريو جيڪو مون توهان تي ڪيو ۽ ان ڳالھ کي تہ مون توهان کي دنيا وارن تي فضيلت ڏني ۽ ڊڄو ان ڏينهن کان جڏهن ڪو بہ جيءُ ڪنهن ٻئي جيءَ جي ڪجھ بہ ڪم نہ ايندو. نہ سندس ڪا سفارش قبول ٿيندي ۽ نہ وري هن کان بدلي ۾ ڪجھ ورتو ويندو ۽ نہ ئي وري سندس ڪا مدد ڪئي ويندي. ۽ جڏهن اسان توهان کي فرعون جي ماڻهن کان ڇڏايو. هو توهان کي سخت تڪليف ڏيندا هئا. توهان جي پٽن کي ڪهندا هئا ۽ توهان جي ڌيئرن کي جيئرو ڇڏي ڏيندا هئا ۽ ان ۾ توهان جي رب جي پاران وڏي آزمائش هئي. ۽ جڏهن اسان دريا کي چيري توهان کي پار ڪرايو. پوءِ بچائي ورتو توهان کي ۽ ٻوڙي ڇڏيوسون فرعون جي ماڻهن کي ۽ توهان ڏسي رهيا هئا. ۽ جڏهن اسان موسيٰ سان واعدو ڪيو چاليھ راتين جو. پوءِ توهان ڳابي کي معبود بڻائي ورتو ۽ توهان ظالم هئا. هن کان پوءِ بہ اسان توهان کي معاف ڪيو تہ جيئن توهان شڪرگذار بڻجي وڃو. ۽ جڏهن اسان موسيٰ کي ڪتاب ڏنو ۽ فيصلو ڪرڻ واري شيءِ تہ جيئن توهان هدايت حاصل ڪيو. ۽ جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو اي منهنجي قوم! توهان ڳابي کي معبود بڻائي پنهنجي نفسن تي ظلم ڪيو آهي. هاڻي پنهنجي پيدا ڪرڻ واري ڏانهن متوجھ ٿيو ۽ پنهنجن ڏوهارين کي پنهنجن هٿن سان قتل ڪيو. اهو توهان جي لاءِ توهان جي پيدا ڪندڙ جي ويجهو بهتر آهي. پوءِ الله توهان جي توبھ قبول ڪئي. بيشڪ اهو ئي توبھ قبول ڪرڻ وارو ۽ رحم ڪرڻ وارو آهي. ۽ جڏهن توهان چيو تہ اي موسيٰ! اسان تنهنجو يقين نہ ڪنداسون جيستائين اسان الله کي روبرو نہ ڏسون. پوءِ توهان کي وڄ اچي ورتو ۽ توهان ڏسي رهيا هئا. پوءِ اسان توهان جي موت کان پوءِ وري توهان کي زندھ ڪيو، تہ جيئن توهان شڪرگذار بڻجي وڃو. ۽ اسان توهان جي مٿان ڪڪرن جي ڇانوَ ڪئي ۽ توهان تي مَنَ وَ سَلويٰ لاٿو. ڪائو پاڪ شين منجهان جيڪي اسان توهان کي ڏنيون آهن ۽ انهن اسان جو ڪوبہ نقصان نہ ڪيو، هو پنهنجو ئي نقصان ڪندا رهيا. ٤٧-٥٧

---

يهودين کي الله تعاليٰ سڄي دنيا تي فضيلت ڏني هئي. يعني انهن کي پنهنجي خاص ڪم لاءِ چونڊيو هو، تہ جيئن انهن ڏانهن پنهنجي وحي موڪلي ۽ ان جي ذريعي ٻين قومن کي پنهنجي مرضيءَ کان باخبر ڪري. پوءِ ان رتبي جي ڪري انهن کي ٻيون بہ گهڻيون ئي نعمتون ۽ سهولتون ڏنيون ويون. پنهنجي دشمنن تي غلبو، وقتي غلطين کان درگذر، غيرمعمولي حالتن ۾ غير معمولي مدد ۽ ”خدا جي طرفان انهن جي لاءِ رزق جو انتظام“ وغيره. ان ڪري يهودين جا پوءِ اچڻ وارا نسل هن غلط فهمي ۾ پئجي ويا تہ اسان الله جي خاص امت آهيون. اسان کي هر حال ۾ آخرت جي ڪاميابي ملندي. پر الله

تعاليٰ جا اهڙي قسم جا معاملا ڪنهن سان بہ نسل در نسل نہ هوندا آهن. ڪنهن گروهہ يا جماعت جي
ايندڙ ماڻهن جو فيصلو انهن جي گذري ويل ماڻهن جي بنياد تي نہ ڪيو ويندو آهي، پر هر فرد جو
فيصلو الڳ الڳ ٿيندو آهي. خدا جي انصاف جو ڏينهن ايڏو تہ سخت هوندو، جو هُتي پنهنجي عمل کان
سواءِ ڪابہ ٻي شيءِ ڪنهن جي ڪم اچڻ واري نہ آهي.

سچي دينداري اِها آهي تہ ماڻهو الله کان سواءِ ڪنهن کي بہ معبود نہ بڻائي. الله کي ڏسڻ
کانسواءِ الله تي يقين ڪري. آخرت جي حساب کان ڊڄندي زندگي گذاري. حلال روزي سان پنهنجون
ضرورتون پوريون ڪري. جن ماڻهن تي ان کي اختيار حاصل آهي، انهن کي ڏوهہ ڪرڻ کان روڪي.

وَ اِذْ قُلْنَا ادْخُلُوْا هٰذِهِ الْقَرْيَةَ فَكُلُوْا مِنْهَا حَيْثُ شِئْتُمْ رَغَدًا وَّ ادْخُلُوا الْبَابَ
سُجَّدًا وَّ قُوْلُوْا حِطَّةٌ نَّغْفِرْ لَكُمْ خَطٰيٰكُمْ ؕ وَ سَنَزِيْدُ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۵۸﴾ فَبَدَّلَ الَّذِيْنَ
ظَلَمُوْا قَوْلًا غَيْرَ الَّذِيْ قِيْلَ لَهُمْ فَاَنْزَلْنَا عَلَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا
كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿۵۹﴾ وَ اِذِ اسْتَسْقٰى مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ فَقُلْنَا اضْرِبْ بِّعَصَاكَ الْحَجَرَ ؕ ع
فَانْفَجَرَتْ مِنْهُ اثْنَتَا عَشْرَةَ عَيْنًا ؕ قَدْ عَلِمَ كُلُّ اُنَاسٍ مَّشْرَبَهُمْ ؕ كُلُوْا وَ اشْرَبُوْا
مِنْ رِّزْقِ اللّٰهِ وَ لَا تَعْثَوْا فِي الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿۶۰﴾ وَ اِذْ قُلْتُمْ يٰمُوْسٰى لَنْ نَّصْبِرَ عَلٰى
طَعَامٍ وَّاحِدٍ فَادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُخْرِجْ لَنَا مِمَّا تُنْۢبِتُ الْاَرْضُ مِنْۢ بَقْلِهَا وَ قِثَّآئِهَا وَ
فُوْمِهَا وَ عَدَسِهَا وَ بَصَلِهَا ؕ قَالَ اَتَسْتَبْدِلُوْنَ الَّذِيْ هُوَ اَدْنٰى بِالَّذِيْ هُوَ خَيْرٌ ؕ
اِهْبِطُوْا مِصْرًا فَاِنَّ لَكُمْ مَّا سَاَلْتُمْ ؕ وَضُرِبَتْ عَلَيْهِمُ الذِّلَّةُ وَ الْمَسْكَنَةُ ۗ وَ بَآءُوْ
بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَ يَقْتُلُوْنَ النَّبِيّٖنَ بِغَيْرِ
الْحَقِّ ؕ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّ كَانُوْا يَعْتَدُوْنَ ﴿۶۱﴾ ع

۽ جڏهن اسان چيو تہ داخل ٿي وڃو ان شهر ۾ ۽ جتان وڻيوَ اتان مزي سان کائو ۽ داخل ٿيو در مان عاجزيءَ
سان ڪنڌ جهڪائيندي ۽ چئو تہ اي رب! اسان جي خطائن کي معاف فرماءِ تہ اسان توهان جي خطائن کي
معاف ڪري ڇڏينداسين ۽ نيڪي ڪرڻ وارن کي اجا بہ وڌيڪ ڏينداسين. پوءِ انهن ظالمن بدلائي ڇڏيو ان
قول کي جيڪو انهن کي چيل هو، ٻي قول سان. پوءِ اسان انهن ماڻهن تي جن ظلم ڪيو، انهن جي
نافرمانيءَ سبب آسمان مان عذاب لاٿو. ۽ جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم لاءِ پاڻي گهريو تہ اسان چيو پنهنجي
لٺ پٿر تي هڻ تہ ان منجهان ڦٽي نڪتا ٻارنهن چشما. هر جماعت پنهنجو پنهنجو گهاٽ سڃاڻي ورتو. کائو
۽ پيئو الله جي رزق مان ۽ زمين ۾ فسادي ٿي نہ ڦرو. ۽ جڏهن توهان چيو اي موسيٰ! اسان هڪڙي ئي قسم
جي طعام تہ هرگز صبر نہ ڪنداسين. اسان جي لاءِ پنهنجي رب کي پڪار تہ هو اسان لاءِ زمين مان پيدا
ٿيندڙ شيون ڏي، جيئن تہ ساڳ ۽ ونگا ۽ ڪڻڪ ۽ مسور ۽ بصر. موسيٰ چيو ڇا توهان هڪ چڱي شيءِ جي
بدران حقير شيءِ وٺڻ چاهيو ٿا. ڪنهن شهر ۾ هليا وڃو تہ توهان کي ملندي اُها شيءِ جيڪا توهان گهرو

ٿا ۽ وڏي وئي انهن تي ذلت ۽ محتاجي ۽ اُهي الله جي غضب جا مستحق بڻجي ويا. اهو انهيءَ ڪري ٿيو ته هو الله جي نشانين جو انڪار ڪندا هئا ۽ نبين کي ناحق قتل ڪندا هئا، ۽ اُن ڪري جو انهن نافرماني ڪئي ۽ هو حد کان لنگهندڙ هئا. ٥٨-٦١

---

يهودين تي الله تعاليٰ خاص انعام ڪيا هئا. ان جو نتيجو اهو هجڻ گهرجي ها ته هو خدا جا شڪرگذار ٻانها ٿين ها، پر انهن بلڪل ان جي ابتڙ ثبوت ڏنو. هڪڙو وڏو شهر انهن جي قبضي ۾ ڏنو ويو ۽ چيو ويو ته جڏهن ان ۾ داخل ٿيو ته فاتحاڻي شان سان نه، پر عاجزيءَ سان ۽ الله کان معافي گهرندي. پر هو ان جي بدران ڪِل پوڪ واريون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. انهن کي مَنّ و سَلويٰ جهڙيون قدرتي غذائون ڏنيون ويون، ته جيئن هو معاشي جفاڪشي کان فارغ رهي ڪري الله جي حڪمن کي پورو ڪرڻ ۾ وڌ کان وڌ مصروف رهن، پر انهن ذائقيدار ۽ چهرن ڪاڌن جو مطالبو شروع ڪري ڏنو. انهن دنيا ۾ ضرورت تي راضي رهڻ جي بدران لذت جي ڳولا ڪئي. انهن جي بي حسي ايڏي ته وڌي جو الله جون واضح نشانيون به انهن جي دلين کي نرم ڪرڻ لاءِ ڪافي ثابت نه ٿيون. انهن کي سمجهائڻ ۽ ڊيڄارڻ لاءِ جيڪي الله جا ٻانها اٿيا، اُنهن کي انهن ٺڏي ڇڏيو، ايستائين جو انهن کي قتل ڪري ڇڏيو. يهودين ۾ اها سرڪشي ان ڪري پيدا ٿي جو انهن سمجهو ته اهي نجات يافته جماعت آهن. پر خدا وٽ نسلي ۽ گروهي بنيادن تي ڪوبه فيصلو ٿيڻ وارو نه آهي. هڪ يهودي کي به انهيءَ خدائي قانون سان پرکيو ويندو جنهن سان هڪ غير يهوديءَ جي پرک ڪئي ويندي. جنت ان جي لاءِ آهي جيڪو جنت وارا عمل ڪري، نه وري ڪنهن خاص نسل يا جماعت جي لاءِ.

زمين تي شڪر، صبر، عاجزي ۽ قناعت سان رهڻ زمين جي اصلاحِ آهي. ان جي ابتڙ ناشڪري، بي صبري، وڏائي ۽ حرص سان رهڻ زمين ۾ فساد ڪرڻ آهي، ڇاڪاڻ ته اُن سان خدا جو قائم ڪيل فطري نظام ٽٽي ٿو. اِهو حد کان لنگهي وڃڻ آهي، جڏهن ته خدا چاهي ٿو هرڪو پنهنجي حد ۾ رهي عمل ڪري.

إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَالَّذِينَ هَادُوا وَالنَّصَارَىٰ وَالصَّابِئِينَ مَنْ آمَنَ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَهُمْ أَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُونَ ﴿٦٢﴾

بيشڪ جيڪي ماڻهو مسلمان ٿيا ۽ جيڪي ماڻهو يهودي ٿيا ۽ نصاريٰ ۽ صابي، انهن مان جنهن به شخص ايمان آندو الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ۽ اُن نيڪ ڪم ڪيا ته انهي جي لاءِ ان جي رب وٽ اجر آهي ۽ انهن جي لاءِ نه ڪو خوف آهي ۽ نه هو غمگين ٿيندا. ٦٢

---

هن آيت ۾ چئن گروهن جو ذڪر آهي. هڪ مسلمان جيڪي حضرت محمد ﷺ جي امت آهن. ٻيا يهودي جيڪي پاڻ کي حضرت موسيٰ عليه السلام جي امت چوندا آهن. ٽيون نصاريٰ جيڪي حضرت مسيح عليه السلام جا امتي هجڻ جي دعويٰ ڪن ٿا. چوٿون صابي جيڪي پاڻ کي حضرت يحييٰ عليه السلام جي امت ٻڌائيندا هئا ۽ قديم زماني ۾ عراق جي علائقي ۾ آباد هئا. هو اهل ڪتاب هئا ۽ ڪعبي ڏانهن رخ ڪري نماز پڙهندا هئا. پر هاڻي صابي فرقو ختم ٿي چڪو آهي، دنيا ۾ هاڻي ان جو ڪٿي به وجود نه آهي.

هتي مسلمانن کي ڏار نہ ڪيو ويو آهي. پر انهن جو ۽ ٻين پيغمبرن سان نسبت رکڻ وارين امتن جو ذڪر گڏ ڪيو ويو آهي. ان جو مطلب آهي تہ گروهہ هجڻ جي لحاظ کان الله وٽ سڀ برابر درجو رکن ٿا. گروهہ جي لحاظ کان هڪ گروهہ ۽ ٻئي گروهہ ۾ ڪو بہ فرق نہ آهي. سڀني جي نجات جو هڪڙو ئي اٽل اصول آهي ۽ اهو آهي ايمان ۽ صالح عمل. ڪوبہ گروهہ پاڻ کي چاهي مسلمان چوي يا هو پاڻ کي يهودي يا مسيحي يا صابي چئي، انهن منجهان ڪوبہ محض ڪو خاص گروهہ هجڻ جي ڪري الله وٽ ڪو خاص درجو نہ ٿو رکي. درجي جو مدار ان تي آهي تہ ڪنهن الله جي مرضي مطابق عملي زندگي اختيار ڪئي. نبي جي زماني ۾ جڏهن ان کي مڃڻ وارن جو گروهہ ٺهي ٿو تہ ان جو بنياد هميشہ ايمان ۽ صالح عمل تي هوندو آهي. ان وقت ائين ٿيندو آهي تہ نبي جي پڪار کي ٻڌي ڪجهہ ماڻهن جي اندر ذهني ۽ فڪري انقلاب ايندو آهي. انهن جي اندر هڪڙو نئون عزم ۽ حوصلو پيدا ٿيندو آهي. انهن جي زندگيءَ جو نقشو جيڪو اڄ تائين ذاتي خواهشن جي بنياد تي هلي رهيو هو، اهو خدائي تعليم جي بنياد تي قائم ٿي ويندو آهي. اهي ئي ماڻهو حقيقت ۾ نبيءَ جي امت هوندا آهن. انهن جي لاءِ ئي نبي جي زبان مان آخرت جي نعمتن جي خوشخبري ڏني ويندي آهي.

پر پوءِ ايندڙ نسلن ۾ صورتحال بدلجي ويندي آهي. هاڻي الله جو دين انهن جي لاءِ هڪ قسم جي قومي روايت بڻجي وڃي ٿو. جيڪي خوشخبريون ايمان ۽ عمل جي بنياد تي ڏنيون ويون هيون، انهن کي رڳو گروهي تعلق جو نتيجو سمجهي ورتو آهي. اهي گمان ڪري وٺن ٿا تہ هنن جي گروهہ جو الله سان خاص رشتو آهي جيڪو ٻين ماڻهن جو نہ آهي. جيڪو ماڻهو ان خاص گروهہ سان تعلق رکي ٿو، جيتوڻيڪ هو عقيدي ۽ عمل جي لحاظ کان ڪهڙو بہ هجي، هر حال ۾ ان جي نجات يقيني آهي. جنت اُن جي پنهنجي گروهہ لاءِ آهي ۽ جهنم رڳو ٻين گروهن جي لاءِ.

پر الله جو ڪنهن بہ گروهہ سان ڪو خاص رشتو نہ آهي. الله وٽ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جو لحاظ آهي تہ اهو رڳو هن ڳالهہ جو تہ ماڻهو پنهنجي فڪر ۽ عمل ۾ ڪهڙو آهي. آخرت ۾ ماڻهوءَ جي انجام جو فيصلو ان جي حقيقي ڪردار جي بنياد تي ٿيندو، نہ وري گروهي لاڳاپن جي بنياد تي.

وَ اِذۡ اَخَذۡنَا مِيۡثَاقَكُمۡ وَ رَفَعۡنَا فَوۡقَكُمُ الطُّوۡرَؕ خُذُوۡا مَاۤ اٰتَيۡنٰكُمۡ بِقُوَّةٍ وَّ اذۡكُرُوۡا مَا فِيۡهِ
لَعَلَّكُمۡ تَتَّقُوۡنَ ﴿٦٣﴾ ثُمَّ تَوَلَّيۡتُمۡ مِّنۡۢ بَعۡدِ ذٰلِكَۚ فَلَوۡ لَا فَضۡلُ اللّٰهِ عَلَيۡكُمۡ وَ رَحۡمَتُهٗ لَكُنۡتُمۡ
مِّنَ الۡخٰسِرِيۡنَ ﴿٦٤﴾ وَ لَقَدۡ عَلِمۡتُمُ الَّذِيۡنَ اعۡتَدَوۡا مِنۡكُمۡ فِى السَّبۡتِ فَقُلۡنَا لَهُمۡ كُوۡنُوۡا
قِرَدَةً خٰسِئِيۡنَۚ ﴿٦٥﴾ فَجَعَلۡنٰهَا نَكَالًا لِّمَا بَيۡنَ يَدَيۡهَا وَ مَا خَلۡفَهَا وَ مَوۡعِظَةً لِّلۡمُتَّقِيۡنَ ﴿٦٦﴾

۽ جڏهن اسان توهان کان عهد ورتو ۽ طور جبل کي توهان جي مٿان کڙو ڪيوسون. جهليو ان شيءِ کي مضبوطيءَ سان جيڪا اسان توهان کي ڏني آهي، ۽ جيڪو ڪجهہ ان ۾ آهي ان کي ياد رکو جيئن توهان بچي وڃو. پوءِ توهان ان کان ڦِري ويا. جيڪڏهن الله جو فضل ۽ ان جي رحمت نہ هجي ها تہ ضرور توهان هلاڪ ٿي وڃو ها. ۽ انهن ماڻهن جو حال توهان جي علم ۾ آهي، جيڪي سبت (ڇنڇر) جي معاملي ۾ الله جي حڪم مان نڪري ويا تہ اسان انهن کي چيو تہ توهان ذليل باندر ٿي پئو. اهڙيءَ طرح اسان ان کي عبرت بڻايو ان زماني جي موجود ماڻهن ۽ بعد ۾ ايندڙ نسلن لاءِ ۽ ان ۾ اسان نصيحت رکي ڊڄڻ وارن لاءِ. ٦٣-٦٦

بائيبل جون روايتون ٻڌائين ٿيون تہ حضرت موسيٰؑ جي زماني ۾ جڏهن يهودين کان عهد ورتو ويو تہ هو خدائي تعليم تي نيڪ نيڪ عمل ڪندا تہ ”خدا جبل کي انهن جي مٿان اونڌو ڪري ڪڙو ڪيو ۽ انهن کي چيو تہ توريت کي قبول ڪريو نہ تہ هتي ئي توهان سيني کي هلاڪ ڪيو ويندو“ (تالمود). اِهو ئي معاملو هر ان ماڻهو جي لاءِ آهي جيڪو الله تي ايمان آڻي ٿو. ايمان آڻڻ جڻ تہ الله سان اهو عهد ڪرڻ آهي تہ ماڻهوءَ جو جيئڻ ۽ مرڻ الله جي مرضي موجب هوندو. اِهو هڪ انتهائي سنگين اقرار آهي. ان ۾ هڪڙي پاسي عاجز ٻانهو هوندو آهي ۽ ٻئي پاسي اُهو الله هوندو آهي جنهن جي هٿ ۾ آسمان ۽ زمين جون طاقتون آهن. جيڪڏهن ٻانهو پنهنجي عهد تي پورو لهي تہ ان جي لاءِ الله جون لازوال نعمتون آهن ۽ جيڪڏهن هو عهد ڪري ان تان ڦري وڃي تہ ان جي لاءِ سخت خطرو آهي تہ ان جو خدا ڪيس جهنم ۾ وجهي ڇڏي، جتي هو اهڙيءَ طرح سڙندو رهي جو اتان نڪرڻ جو هن لاءِ ڪوبہ رستو باقي نہ هجي.

ايماني عهد جي وقت حضرت موسيٰؑ جي قوم تي جيڪا ڪيفيت گذري هئي، اها ئي هر مؤمن ٻانهي کان گهربل آهي. هر شخص جيڪو پنهنجي پاڻ کي الله سان گڏ ايمان جي رسي سان ٻڌي ٿو، ان کي ان جي سنگيني کان اهڙيءَ طرح ڏڪڻ گهرجي تہ جيڪڏهن هن عهد جي خلاف ڪيو تہ ”زمين ۽ آسمان ان جي مٿان ڪِري پوندا“.

هڪ جماعت جنهن کي الله جي طرفان شريعت ڏني وڃي، ان جي گمراهي جي هڪڙي صورت اها هوندي آهي تہ هو عملاً ان جي خلاف هلي ۽ هٿ ٺوڪيل دليلن سان هي ظاهر ڪري تہ هو عين الله جي حڪم تي قائم آهي. يهودين کي اهو حڪم هو تہ ڇنڇر جو ڏينهن روزي ۽ عبادت جي لاءِ خاص ڪن. ان ڏينهن ڪنهن بہ قسم جو دنياوي ڪم نہ ڪن. پر انهن ان حرمت کي قائم نہ رکيو ۽ اُهي ٻين ڏينهن وانگر ڇنڇر واري ڏينهن بہ پنهنجا دنياوي ڪاروبار ڪرڻ لڳا. پر هو طرح طرح جي هٿ ٺوڪيل دليلن سان اهو ظاهر ڪندا هئا تہ اهي جيڪي ڪجهہ ڪري رهيا آهن، اُهو عين خدا جي حڪم مطابق آهي. انهن جي اِها سرڪشي الله کي ايڏي تہ ناپسند آئي جو ڪين باندر ٻڻائي ڇڏيو. جڏهن بہ ماڻهو شريعت کان ڦري وڃي ٿو تہ جڻ هو پنهنجي پاڻ کي جانورن جي سطح تي آڻي ٿو، جيڪي ڪنهن بہ اخلاقي ضابطي جا پابند نہ آهن. انهيءَ ڪري جيڪي ماڻهو شريعت سان اهڙي قسم جي هٿ چراند ڪن، انهن کي ڊڄڻ کپي تہ خدا جو قانون انهن کي اهڙي حيواني ذلت ۾ مبتلا نہ ڪري ڇڏي، جنهن ۾ يهودي پنهنجي اهڙي قسم جي عمل جي ڪري مبتلا ٿي ويا.

وَ اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖۤ اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُكُمْ اَنْ تَذْبَحُوْا بَقَرَةً ؕ قَالُوْۤا اَتَتَّخِذُنَا هُزُوًا ؕ
قَالَ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ ﴿٦٧﴾ قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا هِيَ ؕ قَالَ
اِنَّهٗ يَقُوْلُ اِنَّهَا بَقَرَةٌ لَّا فَارِضٌ وَّ لَا بِكْرٌ ؕ عَوَانٌۢ بَيْنَ ذٰلِكَ ؕ فَافْعَلُوْا مَا تُؤْمَرُوْنَ ﴿٦٨﴾
قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا لَوْنُهَا ؕ قَالَ اِنَّهٗ يَقُوْلُ اِنَّهَا بَقَرَةٌ صَفْرَآءُ ۙ فَاقِعٌ لَّوْنُهَا

تَسُرُّ النّٰظِرِيْنَ ﴿۶۹﴾ قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا هِيَ ۙ اِنَّ الْبَقَرَ تَشٰبَهَ عَلَيْنَا ؕ وَ اِنَّاۤ اِنْ
شَآءَ اللّٰهُ لَمُهْتَدُوْنَ ﴿۷۰﴾ قَالَ اِنَّهٗ يَقُوْلُ اِنَّهَا بَقَرَةٌ لَّا ذَلُوْلٌ تُثِيْرُ الْاَرْضَ وَ لَا تَسْقِي
الْحَرْثَ ۚ مُسَلَّمَةٌ لَّا شِيَةَ فِيْهَا ؕ قَالُوا الْـٰٔنَ جِئْتَ بِالْحَقِّ ؕ فَذَبَحُوْهَا وَ مَا كَادُوْا
ع يَفْعَلُوْنَ ﴿۷۱﴾ وَ اِذْ قَتَلْتُمْ نَفْسًا فَادّٰرَءْتُمْ فِيْهَا ؕ وَ اللّٰهُ مُخْرِجٌ مَّا كُنْتُمْ تَكْتُمُوْنَ ﴿۷۲﴾
فَقُلْنَا اضْرِبُوْهُ بِبَعْضِهَا ؕ كَذٰلِكَ يُحْيِ اللّٰهُ الْمَوْتٰى ۙ وَيُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿۷۳﴾

۽ جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو ته الله توهان کي حڪم ڏي ٿو ته هڪ ڳئون ذبح ڪريو. انهن چيو: ڇا تون اسان سان مذاق پيو ڪرين. موسيٰ چيو آءٌ الله جي پناهه گهران ٿو ته آءٌ اهڙو نادان ٿيان. انهن چيو پنهنجي رب کي درخواست ڪريو ته هو اسان کي ٻڌائي ته اُها ڳئون ڪهڙي هجي. موسيٰ چيو، الله فرمائي ٿو ته اُها ڳئون نه پوڙهي هجي نه ننڍي، پر وچولي هجي. هاڻي جيڪو حڪم مليو آهي اهو پورو ڪيو. انهن چيو پنهنجي رب کي درخواست ڪريو ته هو ٻڌائي ته ان جو رنگ ڪهڙو هجي. موسيٰ چيو، الله فرمائي ٿو ته هو گهري هيڊي رنگ جي هجي، ڏسندڙن کي سٺي لڳي. انهن چيو پنهنجي رب کي درخواست ڪريو ته هو اسان کي ٻڌائي ته اُها ڪهڙي هجي. ڇاڪاڻ ته ڳئون جي معاملي ۾ اسان کي شڪ ٿي پيو آهي ۽ الله چاهيو ته اسان کي راهه ملي ويندي. موسيٰ چيو الله فرمائي ٿو ته اُها اهڙي ڳئون هجي نه وهئو هجي جيڪا زمين کيڙي ۽ نه پاڻي ڪڍي پوک کي پياري، پر صحيح سالم بي داغ هجي.انهن چيو: هاڻي توهان واضح هدايت آندي آهي. پوءِ انهن ان کي ذبح ڪيو، پر حقيقت ۾ هو ائين ڪرڻ وارا نه هئا. ۽ جڏهن توهان هڪڙي ماڻهوءَ کي قتل ڪيو، پوءِ هڪ ٻئي تي ان جو الزام ڏيڻ لڳا. جڏهن ته الله کي ظاهر ڪرڻ منظور هو جيڪو ڪجهه توهان لڪائڻ پئي چاهيو. پوءِ اسان حڪم ڏنو ته هٿو ان مُردي کي هن ڳئون جو هڪ ٽڪرو. اهڙيءَ طرح الله مئلن کي زنده ڪري ٿو ۽ هو توهان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاري ٿو ته جيئن توهان سمجهو. ۶۷-۷۳

---

حضرت موسيٰ عليه السلام جي زماني ۾ بني اسرائيل ۾ قتل جو هڪ واقعو ٿيو. قاتل جو پتو لڳائڻ لاءِ الله تعاليٰ نبيءَ جي ذريعي انهن کي اهو حڪم ڏنو ته هڪ ڳئون ذبح ڪريو ۽ ان جو گوشت مقتول تي هڻو، مقتول الله جي حڪم سان قاتل جو نالو ٻڌائيندو. اِها هڪ معجزاتي تدبير هئي، جيڪا ڪجهه مقصدن لاءِ اختيار ڪئي وئي.

۱- مصر ۾ وڏو عرصو قيام ڪرڻ جي ڪري بني اسرائيل مصري تهذيب ۽ رسمن کان متاثر ٿي ويا. مصري قوم ڳئونءَ جي پوڄا ڪندي هئي. مصرين جي اثر جي ڪري بني اسرائيل ۾ به ڳئون جو مقدس هجڻ ذهن ۾ ويهي ويو. جڏهن قتل جو واقعو ٿيو ته الله چاهيو ته ان واقعي جي معرفت انهن جي ذهنن مان ڳئونءَ جي تقدس کي ختم ڪيو وڃي. ان ڪري قاتل کي ڳولڻ لاءِ ڳئون کي ذبح ڪرڻ واري تدبير اختيار ڪئي وئي.

۲- اهڙي طرح بني اسرائيل اها غلطي ڪئي ته فقهي معاملن ۾ گهٽي غور ۽ فڪر ۽ بحث جي نتيجي ۾ خدا جي آسان دين کي انهن هڪ ڏکيو دين بڻائي ڇڏيو هو. ان ڪري مٿئين واقعي جي ذريعي انهن کي اهو سبق ڏنو ويو ته الله جي طرفان جيڪو حڪم اچي ان کي سادي معنيٰ ۾ وٺي فورًا ان تي

عمل ڪجي. ڪوڙتي سوال پڇڻ ۽ ڳالهه ڦلهورڻ وارو طريقو اختيار نہ ڪجي. جيڪڏهن توهان ايئن ڪيو جو حڪم جا تفصيل ڄاڻڻ لاءِ ۽ ان جون حدون مقرر ڪرڻ لاءِ وار تان ڪُل لاهڻ جي ڪوشش ڪئي تہ توهان سخت آزمائش ۾ پئجي ويندؤ. اهڙيءَ طرح هڪ سادو حڪم شرطن جي واڌاري سان ڏسندي ئي ڏسندي هڪ سخت حڪم بڻجي ويندو، جنهن جي تعميل توهان جي لاءِ بيحد مشڪل ٿي ويندي.

٣- هن واقعي جي ذريعي بني اسرائيل کي اهو ٻڌايو ويو تہ ٻي زندگي اهڙيءَ طرح ئي ممڪن آهي، جيئن پهرين زندگي. الله هر ماڻهوءَ کي مرڻ کان پوءِ زنده ڪندو ۽ ان کي ٻيهر هڪ نئين دنيا ۾ اتاريندو.

ثُمَّ قَسَتْ قُلُوْبُكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ فَهِيَ كَالْحِجَارَةِ اَوْ اَشَدُّ قَسْوَةً ۭ وَاِنَّ مِنَ الْحِجَارَةِ لَمَا يَتَفَجَّرُ مِنْهُ الْاَنْهٰرُ ۭ وَاِنَّ مِنْهَا لَمَا يَشَّقَّقُ فَيَخْرُجُ مِنْهُ الْمَاۗءُ ۭ وَاِنَّ مِنْهَا لَمَا يَهْبِطُ مِنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ۭ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ۝٧٤

ان کان پوءِ توهان جون دليون سخت ٿي ويون پوءِ اُهي پٿر وانگر ٿي ويون يا ان کان بہ وڌيڪ سخت، پٿرن مان ڪي اهڙا بہ هوندا آهن جن مان نهرون جاري ٿين ٿيون ۽ ڪجهہ پٿر ڦاٽي پوندا آهن ۽ انهن مان پاڻي نڪري ايندو آهي ۽ ڪجهہ پٿر اهڙا بہ هوندا آهن، جيڪي الله جي ڊپ کان ڪِري پوندا آهن ۽ الله ان کان بي خبر نہ آهي جيڪو توهان ڪريو ٿا. ٧٤

---

الله جي حڪم ۾ جيڪي ماڻهو هٺ ڌرمي دليل ڏين ۽ اجايا بحث ڪن، انهن جي اندر آهستي آهستي بي حسيءَ جو مرض پيدا ٿي ويندو آهي. انهن جون دليون سخت ٿي وڃن ٿيون. الله جو نالو سڀ کان وڏي هستي جو نالو آهي. ماڻهوءَ جي اندر ايمان زنده هجي تہ الله جو نالو ان کي لوڏي ڇڏي ٿو. ڳالهائڻ کان وڌيڪ ان کي ماٺ اچي ويندي آهي. پر جڏهن دلين ۾ جمود ۽ بي حسي اچي ٿي تہ الله جي ڪلام ۾ بہ اهڙي قسم جا هٺ ڌرمي دليل ۽ بحث شروع ٿي وڃن ٿا، جيڪي عام انساني گفتگو ۾ ڪيا ويندا آهن. اهڙي قسم جو عمل انهن جي بي حسي ۾ واڌارو ڪندو رهي ٿو. ايستائين جو انهن جون دليون پٿر وانگر سخت ٿي وڃن ٿيون. هاڻي الله جو تصور انهن جي دلين ۾ نرمي نہ ٿو آڻي، اِهو انهن جي دلين ۾ تڙپ ۽ بي قراري پيدا نہ ٿو ڪري. هو انهن جي روح جي اندر لرزش پيدا ڪرڻ جو سبب نہ ٿو بڻجي. پٿرن جو ذڪر هتي تشبيهہ طور ڪيل آهي. الله پنهنجي ڪائنات کي اهڙي نموني ٺاهيو آهي جو هو ماڻهو لاءِ عبرت ۽ نصيحت جو سامان بڻجي وئي آهي. هتي جي هر شيءِ خاموش زبان ۾ پنهنجي رب جي رضا جو عملي نشان بڻيل آهي، اُهائي رب جي رضا جيڪا قرآن ۾ لفظن جي ذريعي بيان ڪئي وئي آهي.

پٿرن جي ذريعي الله پنهنجي دنيا ۾ جيڪي تشبيهون قائم ڪيون آهن، انهن مان ٽن شين ڏانهن هن آيت ۾ اشارو ڪيل آهي.

جبلن بابت هڪ مشاهدو اهو سامهون اچي ٿو تہ پٿرن مان پاڻيءَ جا چشما وهندا رهندا آهن، جيڪي نيٺ پاڻ ۾ ملي ڪري درياءَ جي شڪل اختيار ڪري وٺندا آهن. هيءُ انهي ماڻهوءَ جو مثال آهي جنهن جي دل ۾ الله جو ڊپ هجي ۽ اهو ڊپ ڳوڙهن جي صورت ۾ اکين مان وهڻ لڳي.

پيو مثال ان پٿر جو آهي جيڪو بظاهر خشڪ جبل وانگر آهي. پر جڏهن ان کي ٽوڙڻ وارا ٽوڙين ٿا تہ خبر پوي ٿي تہ ان جي هيٺان پاڻيءَ جو وڏو ذخيرو موجود هو. اهڙن جبلن کي ڪوٺي ڪوهہ ٺاهيا ويندا آهن. هي ان ماڻهوءَ جو مثال آهي جيڪو بظاهر الله کان پري ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان کان پوءِ ان کي هڪڙو حادثو پيش اچي ٿو. اُن حادثي اُن جي روح کي لوڏي ڇڏيو ۽ هو ڳوڙهن جي سيلاب سان الله ڏانهن ڊوڙي پيو. پٿرن جي دنيا ۾ ٽيون مثال لينڊ سلائيڊ/جبل جي ڇپ جو آهي. يعني جبلن جي مٿان کان پٿرن جو هيٺ ڪرڻ. هيءُ ان ماڻهوءَ جو مثال آهي جنهن ڪنهن انسان جي مقابلي ۾ غلط رويو اختيار ڪيو. ان کان پوءِ ان جي سامهون خدا جو حڪم پيش ڪيو ويو. خدا جو حڪم سامهون ايندي ئي هو ان جي اڳيان ڪري پيو. هو انسان جي اڳيان جهڪڻ جي لاءِ تيار نہ هو، پر جڏهن انسان جو معاملو خدا جو معاملو بڻجي ويو تہ هو عاجزي سان ان جي اڳيان جهڪي پيو.

اَفَتَطۡمَعُوۡنَ اَنۡ يُّؤۡمِنُوۡا لَـكُمۡ وَ قَدۡ كَانَ فَرِيۡقٌ مِّنۡهُمۡ يَسۡمَعُوۡنَ كَلٰمَ اللّٰهِ ثُمَّ يُحَرِّفُوۡنَهٗ مِنۡۢ بَعۡدِ مَا عَقَلُوۡهُ وَ هُمۡ يَعۡلَمُوۡنَ ﴿٧٥﴾ وَ اِذَا لَقُوا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا قَالُوۡٓا اٰمَنَّا ۖۚ وَ اِذَا خَلَا بَعۡضُهُمۡ اِلٰى بَعۡضٍ قَالُوۡٓا اَتُحَدِّثُوۡنَهُمۡ بِمَا فَتَحَ اللّٰهُ عَلَيۡكُمۡ لِيُحَآجُّوۡكُمۡ بِهٖ عِنۡدَ رَبِّكُمۡ ؕ اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ ﴿٧٦﴾ اَوَلَا يَعۡلَمُوۡنَ اَنَّ اللّٰهَ يَعۡلَمُ مَا يُسِرُّوۡنَ وَمَا يُعۡلِنُوۡنَ ﴿٧٧﴾

ڇا توهان اِها اميد رکو ٿا تہ هي يهودي توهان جي چوڻ تي ايمان آڻيندا. جڏهن تہ انهن مان ڪجهہ اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي الله جو ڪلام ٻڌڻ ۽ سمجهڻ کان پوءِ ان کي ڄاڻي واڻي بدلائي ڇڏيندا هئا. جڏهن هو مسلمانن سان ملندا آهن تہ چوندا آهن تہ اسان ايمان آندو آهي ۽ جڏهن پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ملندا آهن تہ چوندا آهن ڇا توهان انهن کي اهي ڳالهيون ٻڌايو ٿا جيڪي الله توهان تي واضح ڪيون آهن تہ جيئن هو انهن ڳالهين سان توهان جي رب وٽ توهان سان حجت قائم ڪن. ڇا توهان سمجهو نہ ٿا. ڇا اهي نہ ٿا ڄاڻن تہ الله کي علم آهي جيڪو هو لڪائين ٿا ۽ جيڪي هو ظاهر ڪن ٿا. ٧٥-٧٧

---

مديني جي جن ماڻهن رسول اللهﷺ تي ايمان آندو، انهن جو ايترو جلدي پاڻﷺ کي سچاڻي ۽ مڃي وٺڻ جو هڪ سبب اِهو بہ هو تہ اُهي پنهنجن يهودي پاڙيسرين کان اڪثر ٻڌندا رهندا هئا تہ هڪ آخري نبي اچڻ وارو آهي. ان ڪري نبي آخر الزمانﷺ جي اچڻ جي خبر انهن جي لاءِ هڪڙي ٻڌل ۽ سڃيل خبر هئي. ان ڪري اهي مسلمان فطري لحاظ کان اِها اميد رکندا هئا تہ جن يهودين جون ڳالهيون ٻڌي ڪري انهن جي دلين ۾ اسلام جي قبولڻ جو ابتدائي جذبو پيدا ٿيو هو تہ اُهي يهودي پاڻ اڳيان وڌي ڪري هِن پيغمبرﷺ جو ساٿ ڏيندا، ان ڪري هو وڏي جوش سان انهن يهودين ڏانهن اسلام جو پيغام کڻي ويندا هئا ۽ انهن کي دعوت ڏيندا هئا تہ هو پاڻﷺ تي ايمان آڻين ۽ پاڻﷺ جو ساٿ ڏيڻ وارا بڻجي وڃن.

پر مسلمانن کي ان وقت سخت صدمو پهتو، جڏهن انهن ڏٺو تہ اُنهن جي اميدن جي ابتڙ يهودي اُنهن جي دعوت تي لبيڪ چوڻ لاءِ تيار نہ هئا. اُن جي نتيجي ۾ هڪ ٻي نازڪ صورتحال پيدا ٿي رهي هئي. جيڪي ماڻهو رسول اللهﷺ سان حسد ۽ دشمني رکندا هئا، اهي مسلمانن کي چوڻ لڳا تہ پيغمبر اسلام جو معاملو ايترو يقيني نہ آهي جيترو توهان سمجهو ٿا. جيڪڏهن اهو معاملو ايترو يقيني هجي

ها تہ اِهي يهودي **عالم** ضرور پاڻﷺ ڏانهن ڊوڙي پون ها. ڇاڪاڻ تہ هو آسماني ڪتابن جي باري ۾ توهان کان وڌيڪ ڄاڻ رکن ٿا.

پر ڪنهن ڳالھ کي قبول ڪرڻ لاءِ صرف ان ڳالھ جو معلوم هجڻ ڪافي نہ هوندو آهي. پر ان کان بہ وڌيڪ ان ڳالھ جي باري ۾ سنجيده هجڻ ضروري آهي. يهودين جو حال اهو هو، جو انهن پاڻ انهن ڪتابن ۾ تبديليون ڪري ڇڏيون جن کي اهي آسماني ڪتاب مڃيندا هئا. پنهنجن مقدس ڪتابن ۾ جنهن ڳالھ کي هو پنهنجي خواهش جي خلاف ڏسندا هئا، ان ۾ هٿ ٺوڪيل دليلن يا لفظي ڦيرڦار سان ان کي پنهنجي خواهش مطابق ڪري وٺندا هئا. هنن پنهنجي دين کي پنهنجي دنياوي مفادن جي تابع ڪري ڇڏيو هو. جيڪي ماڻهو پنهنجي عمل سان اهڙي قسم جي غير سنجيدگيءَ جو ثبوت ڏئي رهيا هجن، هو پنهنجي پاڻ کان ٻاهر ڪنهن حق کي مڃڻ لاءِ ڪيئن راضي ٿيندا.

ڪا بہ ڳالھ ڇاهي ڪيتري ئي بر حق ڇو نہ هجي، جيڪڏهن ماڻهو ان جو انڪار ڪرڻ چاهي تہ هو ان جي لاءِ ڪونہ ڪو هٿ ٺوڪيو دليل ڳولي وٺندو. ان هٿ ٺوڪيل دليلن جي آخري صورت جو نالو تحريف آهي. اهڙي قسم جي طرز عمل جو نتيجو اِهو نڪرندو آهي تہ الله جي معاملي جي اهميت ۽ عظمت ماڻهوءَ جي دلين مان نڪري ويجي ٿي. هو خدا جي حڪم کي ٻڌي ٿو پر لفظي تاويل ذريعي مطمئن ٿي ويجي ٿو تہ هن جو پنهنجو معاملو ان حڪم جي گرفت ۾ نہ ٿو اچي. هو خدا کي مڃي ٿو پر ان جي بي حسي ان کي اهڙن ڪمن جي لاءِ سرڪش بڻائي ڇڏي ٿي، جيڪو اهوئي ماڻھو ڪري سگهي ٿو جيڪو خدا کي نہ مڃيندو هجي ۽ نہ ئي اهو ڄاڻندو هجي تہ ان جو خدا ڪيئن ڏسي رهيو آهي ۽ سندس ڳالهين کي ٻڌي رهيو آهي.

النصف وَ مِنْهُمْ اُمِّيُّوْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ الْكِتٰبَ اِلَّاۤ اَمَانِيَّ وَ اِنْ هُمْ اِلَّا يَظُنُّوْنَ۝٧٨ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ
يَكْتُبُوْنَ الْكِتٰبَ بِاَيْدِيْهِمْ ۗ ثُمَّ يَقُوْلُوْنَ هٰذَا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ لِيَشْتَرُوْا بِهٖ ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ
فَوَيْلٌ لَّهُمْ مِّمَّا كَتَبَتْ اَيْدِيْهِمْ وَ وَيْلٌ لَّهُمْ مِّمَّا يَكْسِبُوْنَ۝٧٩ وَ قَالُوْا لَنْ تَمَسَّنَا النَّارُ
اِلَّاۤ اَيَّامًا مَّعْدُوْدَةً ؕ قُلْ اَتَّخَذْتُمْ عِنْدَ اللّٰهِ عَهْدًا فَلَنْ يُّخْلِفَ اللّٰهُ عَهْدَهٗۤ اَمْ
تَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ۝٨٠ بَلٰى مَنْ كَسَبَ سَيِّئَةً وَّ اَحَاطَتْ بِهٖ خَطِيْٓـَٔتُهٗ فَاُولٰٓىِٕكَ
اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ۝٨١ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اُولٰٓىِٕكَ
ع ٩ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ۝٨٢ ع

۽ انهن ۾ اڻ پڙهيا آهن جيڪي نہ ٿا **ڄاڻن** ڪتاب کي، سواءِ پنهنجي خود ساختہ خواهشن جي. انهن وٽ گمان کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ آهي. پوءِ خرابي آهي انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي پنهنجن هٿن سان ڪتاب لکن ٿا ۽ پوءِ چون ٿا هي الله جي طرفان آهي. تہ جيئن ان جي ذريعي ڪجھ مُلھ وٺن. پوءِ خرابي آهي ان شيءِ جي ڪري جيڪا انهن جي هٿن لکي ۽ ويل آهي انهن لاءِ جيڪي هو ڪمائين ٿا ۽ هو چون ٿا اسان کي جهنم جي باھ نہ ڇهندي پر ڪي ڳڻيل ڏينهن. چؤ ڇا توهان الله کان ڪو عهد ورتو آهي جو الله پنهنجي عهد جي خلاف نہ

کندو. يا توهان الله بابت اهڙي ڳالهه چئو ٿا جيڪا ڄاڻو نہ ٿا. ها جنهن بہ ڪا برائي ڪئي ۽ سندس گناهن هن کي گهيري ڇڏيو تہ اهڙا ماڻهو جهنمي آهن. اهي ان ۾ هميشہ رهندا ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا، اهي جنتي آهن ۽ اُهي اُن ۾ هميشہ رهندا. ٧٨-٨٢

---

آرزوئن (اماني) مان مراد اُهي ڪوڙا قِصا ۽ ڪهاڻيون آهن، جيڪي يهودين پنهنجي دين بابت گهڙيون هيون ۽ فريب سان عوام ۾ ڦهلائي ڇڏيون هيون. (اکاذيب مختلفة سمعوها من علمائهم فنقلوها عليٰ التقليد— البحر المحيط عن ابن عباس ومجاهد و الفراء) انهن قصن ۽ ڪهاڻين جو خلاصو اِهو هو تہ جهنم جي باهہ يهودين جي لاءِ نہ آهي. انهن قصَّن ۾ پنهنجن بزرگن سان منسوب اهڙيون ڳالهيون ملايون ويون جن مان اِهو ثابت پئي ٿيو تہ بني اسرائيل الله جا خاص پيارا آهن. هو جنهن دين کي مڃين ٿا، ان ۾ اهڙا طلسماتي گُڻ آهن جو انهن جا معمولي عمل بہ ماڻهوءَ کي جهنم جي باهہ کان بچائي جنت جي باغن ۾ پهچائڻ لاءِ ڪافي آهن.

سستي نجات جا اهي مقدس نسخا، عوام جي لاءِ وڏي ڪشش رکندا هئا. ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ عوام کي پنهنجي خوش خيالن جي ثابتي ملي رهي هئي تہ انهن کي پنهنجي غير ذميداراڻي زندگي کي روڪڻ جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي. هو ڪنهن جدوجهد کان سواءِ صرف ٽوٽڪن جي برڪت سان جنت ۾ پهچي ويندا. ان ڪري جيڪي يهودي عالم بزرگن جي حوالي سان اِهي خوش ڪندڙ آکاڻيون ٻڌائيندا هئا، انهن کي ماڻهن ۾ زبردست مقبوليت حاصل ٿي وئي. آخرت جي معاملي کي آسان ٻڌائڻ انهن جي لاءِ شاندار دنياوي تجارت جو ذريعو بڻجي ويو. انهن وٽ عوام جا ميڙ جمع ٿي ويا. انهن جي مٿان نذرانن جي برسات ٿيڻ لڳي. اهي عالم ماڻهن کي مفت جنت حاصل ڪرڻ جا رستا ٻڌائيندا هئا ۽ ماڻهن ان جي بدلي ۾ انهن جي لاءِ پنهنجي طرفان مفت دنيا فراهم ڪري ڇڏي.

اهوئي هر دور ۾ اهل ڪتاب قومن جو مرض رهيو آهي. جيڪي ماڻهو اهڙي قسم جي لذيذ خوابن ۾ زندگي گذاري رهيا هجن ۽ اهو سمجهي ويٺا هجن تہ ڪجهہ رسمي عملن ڪان سواءِ انهن تي ڪنهن بہ ذميداريءَ جو بار نہ آهي. جيڪي ماڻهو ان خوش فهمي ۾ مبتلا هجن تہ انهن جا سڀ حق الله وٽ هميشہ لاءِ محفوظ ٿي چڪا آهن، اهڙا ماڻهو سچي دين جي دعوت کي ڪڏهن بہ پسند نہ ٿا ڪن. ڇاڪاڻ تہ اهڙيون ڳالهيون انهن کي پنهنجي مِٺي ننڊ کي خراب ڪندي نظر اچن ٿيون، سچي دين جي دعوت انهن کي زندگي جي اصل حقيقتن جي سامهون بيهاري ڇڏي ٿي.

وَ اِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ لَا تَعْبُدُوْنَ اِلَّا اللّٰهَ ۗ وَ بِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا وَّ ذِي الْقُرْبٰى وَ الْيَتٰمٰى وَ الْمَسٰكِيْنِ وَ قُوْلُوْا لِلنَّاسِ حُسْنًا وَّ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ ؕ ثُمَّ تَوَلَّيْتُمْ اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْكُمْ وَ اَنْتُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٨٣﴾

۽ جڏهن اسان بني اسرائيل کان عهد ورتو تہ توهان الله کان سواءِ ڪنهن جي بہ عبادت نہ ڪندؤ ۽ نيڪ سلوڪ ڪندو ماءُ پيءُ سان، مٽن مائٽن سان يتيمن ۽ مسڪينن سان. ۽ اِهو تہ ماڻهن کي چڱي ڳالهہ چئو. ۽ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ادا ڪريو. پوءِ توهان اُن کان ڦري ويا سواءِ ٿورن ماڻهن جي ۽ توهان اقرار ڪري ان کان هٽي وڃڻ وارا ماڻهو آهيو. ٨٣

---

انسان جي مٿان الله جو پهريون حق اِهو آهي ته هو الله جي عبادت ڪرڻ وارو بڻجي ۽ ان سان ڪنهن کي به شريڪ نه ڪري. ٻيو حق پاڻهن سان سٺو سلوڪ آهي. انهي حُسن سلوڪ جي شروعات پنهنجي ماءُ پيءُ کان ٿيندي آهي ۽ پوءِ مٿن مائٽن ۽ پاڙيسرين کان ٿيندي انهن سڀني انسانن تائين پهچي ٿي جن سان عملي زندگي ۾ واسطو پوي. هڪ انسان جو ٻي انسان سان جڏهن به ڪو معاملو ٿئي ته اُتي هڪڙو ئي ورتاءُ پنهنجي پاءُ لاءِ درست آهي ۽ اهو آهي خيرخواهي ۽ انصاف ڪرڻ.

هن معاملي ۾ ماڻهوءَ جو اصل امتحان ”يتيمن ۽ مسڪينن“ ٻين لفظن ۾ ڪمزور ماڻهن سان هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته جيڪو طاقتور آهي، ان جو طاقتور هجڻ خود ان ڳالهه جي ضمانت آهي ته ماڻهو هُن سان حسن سلوڪ ڪن. پر ڪمزور ماڻهوءَ سان حسن سلوڪ جي لاءِ اهڙي قسم جو ڪو به اضافي محرڪ نه هوندو آهي، ان ڪري سڀني کان وڌيڪ حسن سلوڪ جتي گهربل آهي، اهي ڪمزور ماڻهو ئي آهن. حقيقت اِها آهي ته جِتي هر شيءِ جي نفي ٿي وڃي، اُتي خدا هوندو آهي. اهڙي ڪمزور ماڻهو سان اُهوئي شخص حسن سلوڪ ڪندو جيڪو حقيقت ۾ الله جي رضا جي لاءِ ائين ڪري رهيو هجي. ڇاڪاڻ ته اتي ڪو ٻيو محرڪ موجود ئي نه آهي.

جڏهن معاملو ڪمزور ماڻهو سان هجي ته مختلف سببن جي ڪري حسن سلوڪ جو شعور دٻجي وڃي ٿو. جڏهن ڪمزور ماڻهوءَ جي مدد ڪئي ويندي آهي ته ان جو نتيجو اِهو نڪرندو آهي ته مدد وٺڻ واري جي مقابلي ۾ مدد ڏيڻ وارو پنهنجي پاڻ کي ڪجهه معتبر سمجهڻ لڳندو آهي. اها نفسيات ڪمزور ماڻهن جي عزت نفس جو لحاظ رکڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي ٿي ۽ جيڪڏهن ڪمزور ماڻهو جي طرفان عاجزي ۽ انڪساري جو اظهار نه ڪيو وڃي ته هڪدم ان کي نااهل سمجهو وڃي ٿو ۽ ان جو اظهار مختلف تڪليف ڏيندڙ صورتن ۾ ٿيندو رهندو آهي، هڪ ٻه دفعا مدد ڪرڻ کان پوءِ اِهو خيال پيدا ٿيڻ لڳندو آهي ته هي ماڻهو منهنجي لاءِ مستقل بار نه بڻجي پوي، ان ڪري ان مان جان ڇڏائڻ جي لاءِ غير مهذب انداز اختيار ڪيو ويندو آهي.

ڀلي ڳالهه ڪرڻ سڀني عملن جو خلاصو آهي، هڪ حقيقي خيرخواهي جو ڪلمو چوڻ ماڻهو جي لاءِ هميشه سڀني کان وڌيڪ مشڪل هوندو آهي. ماڻهو سٺيون سٺيون تقريرون ڪري ٿو، پر جڏهن هڪڙي سٺي ڳالهه ڪنهن ٻئي جي اعتراف ۾ ڳالهائڻي پوي ته ماڻهو اهڙي سٺي ڳالهه پنهنجي واتان چوڻ ۾ سڀني کان وڌيڪ بخيل ٿي ويندو آهي. اڳيون ماڻهو جيڪڏهن ڪمزور آهي ته ان جي لاءِ شرافت وارا لفظ چوڻ به هو ضروري نه ٿو سمجهي. جيڪڏهن ڪنهن سان شڪايت ۽ ناراضگي پيدا ٿي وڃي ته ماڻهو سمجهي وٺي ٿو ته هو اُن کي انصاف جي هر خدائي حڪم کان محروم ڪرڻ ۾ حق بجانب آهي.

وَ اِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَكُمْ لَا تَسْفِكُوْنَ دِمَآءَكُمْ وَ لَا تُخْرِجُوْنَ اَنْفُسَكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ
ثُمَّ اَقْرَرْتُمْ وَ اَنْتُمْ تَشْهَدُوْنَ ﴿٨٤﴾ ثُمَّ اَنْتُمْ هٰٓؤُلَآءِ تَقْتُلُوْنَ اَنْفُسَكُمْ وَ تُخْرِجُوْنَ
فَرِيْقًا مِّنْكُمْ مِّنْ دِيَارِهِمْ تَظٰهَرُوْنَ عَلَيْهِمْ بِالْاِثْمِ وَ الْعُدْوَانِ ؕ وَ اِنْ يَّاْتُوْكُمْ
اُسٰرٰى تُفٰدُوْهُمْ وَ هُوَ مُحَرَّمٌ عَلَيْكُمْ اِخْرَاجُهُمْ ؕ اَفَتُؤْمِنُوْنَ بِبَعْضِ الْكِتٰبِ وَ

تَكۡفُرُوۡنَ بِبَعۡضٍ ۚ فَمَا جَزَآءُ مَنۡ يَّفۡعَلُ ذٰلِكَ مِنۡكُمۡ اِلَّا خِزۡىٌ فِى الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا ۚ وَ
يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ يُرَدُّوۡنَ اِلٰٓى اَشَدِّ الۡعَذَابِ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعۡمَلُوۡنَ ﴿٨٥﴾ اُولٰٓٮِٕكَ الَّذِيۡنَ
اشۡتَرَوُا الۡحَيٰوةَ الدُّنۡيَا بِالۡاٰخِرَةِ ۫ فَلَا يُخَفَّفُ عَنۡهُمُ الۡعَذَابُ وَلَا هُمۡ يُنۡصَرُوۡنَ ﴿٨٦﴾

۽ جڏهن اسان توهان کان اِهو عهد ورتو تہ توهان پنهنجن جو رت نہ وهائيندؤ ۽ پنهنجن ماڻهن کي پنهنجن وسندين مان نہ ڪڍندؤ. پوءِ توهان ان جو اقرار ڪيو ۽ توهان ان جا شاهد آهيو. پوءِ توهان ئي اهي آهيو جيڪي پنهنجن کي قتل ڪريو ٿا ۽ پنهنجي ئي هڪ گروهہ کي سندن وسندين مان ڪيو ٿا. انهن جي مقابلي ۾ انهن جي دشمنن جي مدد ڪيو ٿا گناهہ ۽ ظلم سان گڏ. پوءِ جيڪڏهن هو توهان وٽ قيدي ٿي اچن ٿا تہ توهان فديو ڏئي انهن کي ڇڏرايو ٿا. جڏهن تہ انهن جو ڪيڍڻ ئي توهان تي حرام هو. ڇا توهان ڪتاب الٰهي جي هڪ حصي کي مڃو ٿا ۽ هڪ حصي جو انڪار ڪيو ٿا، پوءِ توهان مان جيڪي ماڻهو ائين ڪن انهن جي سزا ان ڪان سواءِ ٻي ڇا ٿي سگهي ٿي تہ انهن کي دنيا جي زندگي ۾ رسوائي ۽ قيامت جي ڏينهن انهن کي سخت عذاب ۾ وڌو وڃي. ۽ الله ان شيءِ کان بيخبر نہ آهي جيڪي توهان ڪري رهيا آهيو. اِهي ئي ماڻهو آهن جن آخرت جي بدلي ۾ دنيا جي زندگي خريد ڪئي. پوءِ نہ انهن جو عذاب گهٽ ڪيو ويندو ۽ نہ ئي انهن کي مدد پهچندي. ٨٤-٨٦

---

قديم مديني جي آس پاس ۾ يهودين جا ٽي قبيلا آباد هئا. بنونضير، بنوقريظ ۽ بنوقينقاع. اِهي سڀ حضرت موسيٰ عليه السلام جي شريعت کي مڃيندا هئا. پر جهالت ۽ تعصب انهن کي ڌار ڌار گروهن ۾ ورهائي ڇڏيو هو. پنهنجي دنياوي سياست جي ڪري هو مديني جي مشرڪ قبيلن اوس ۽ خزرج سان مليل هئا. بنو نضير ۽ بني قريظ قبيلي اوس جا اتحادي هئا. بنوقينقاع قبيلي خزرج جو ساٿي هو. اهڙيءَ طرح اُهي ٻہ گروهہ ٻٽجي هڪٻئي سان وڙهندا رهندا هئا. بعاث واري جنگ اهڙي ئي قسم جي هڪ جنگ هئي جيڪا هجرت نبوي کان پنج سال پهرين ٿي هئي. انهن جنگن ۾ يهودي مشرڪ قبيلن سان ملي ڪري ٻہ محاذ ٺاهيندا هئا. هڪ محاذ ۾ شامل هئڻ وارا يهودي ٻي محاذ ۾ شامل يهودين کي قتل ڪندا هئا ۽ انهن کي انهن جي گهرن کان بي گهر ڪندا هئا. پوءِ جڏهن جنگ ختم ٿي ويندي هئي تہ هو توريت جو حوالو ڏئي ڪري پنهنجي هم مذهبن کان چندي جون التجائون ڪندا هئا تہ جيئن پنهنجي قيد ٿيل يهودي ڀائرن کي فديو ڏئي ڪري مشرڪ قبيلن کان ڇڏرائجي. انسان جي جان ۽ مال جي احترام جي باري ۾ هو خدا جي حڪم کي ٽوڙيندا هئا ۽ پوءِ پنهنجي ظالماڻي سياست جو شڪار ٿيڻ وارن سان نمائشي همدردي ڪري هو ظاهر ڪندا هئا تہ اُهي وڏا ديندار آهن.

اِهو ائين آهي جيئن هڪ شخص کي ناحق قتل ڪيو وڃي ۽ ان کان پوءِ شرعي طريقي تي ان جي جنازي نماز پڙهجي. شريعت جا اصلي ۽ بنيادي حڪم ماڻهوءَ کي جهالت واري زندگي ڇڏڻ جي لاءِ چوندا آهن. اهي ان جي خواهش نفس سان ٽڪرائيندا آهن. هو ان جي دنياوي سياست تي بندش لڳائيندا آهن، ان ڪري ماڻهو انهن حڪمن کي نظر انداز ڪري ٿو. هو حقيقي ديندراي جي سودي ۾ پنهنجي پاڻ کي وجهڻ لاءِ تيار نہ ٿو ٿئي. پر ڪجهہ معمولي ۽ نمائشي عملن جو ڏمچر مچائي اهو ظاهر ڪندو آهي تہ هو خدا جي دين تي پوري طرح قائم آهي. پر هي الله جي دين جو هڪ هٿرادو ايڊيشن تيار ڪرڻ آهي. هي دين جي آخرت واري حصي کي نظر انداز ڪرڻ آهي ۽ دين جا اُهي حصا جيڪي پنهنجي اندر دنياوي

رونق ۽ شهرت رکن ٿا. ان ۾ دينداريءَ جو ڪمال ڏيکارڻ آهي. دين ۾ اهڙي قسم جي دليري ۽ بي باڪي ماڻهوءَ کي الله جي غضب جو مستحق بڻائي ٿي نہ وري الله جي انعام جو.

وَ لَقَدۡ اٰتَيۡنَا مُوۡسَى الۡكِتٰبَ وَ قَفَّيۡنَا مِنۡۢ بَعۡدِهٖ بِالرُّسُلِ ۫ وَ اٰتَيۡنَا عِيۡسَى ابۡنَ مَرۡيَمَ الۡبَيِّنٰتِ وَ اَيَّدۡنٰهُ بِرُوۡحِ الۡقُدُسِ ؕ اَفَكُلَّمَا جَآءَكُمۡ رَسُوۡلٌۢ بِمَا لَا تَهۡوٰٓى اَنۡفُسُكُمُ اسۡتَكۡبَرۡتُمۡ ۚ فَفَرِيۡقًا كَذَّبۡتُمۡ ۫ وَ فَرِيۡقًا تَقۡتُلُوۡنَ ﴿۸۷﴾ وَ قَالُوۡا قُلُوۡبُنَا غُلۡفٌ ؕ بَلۡ لَّعَنَهُمُ اللّٰهُ بِكُفۡرِهِمۡ فَقَلِيۡلًا مَّا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۸۸﴾ وَ لَمَّا جَآءَهُمۡ كِتٰبٌ مِّنۡ عِنۡدِ اللّٰهِ مُصَدِّقٌ لِّمَا مَعَهُمۡ ۙ وَ كَانُوۡا مِنۡ قَبۡلُ يَسۡتَفۡتِحُوۡنَ عَلَى الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا ۚۖ فَلَمَّا جَآءَهُمۡ مَّا عَرَفُوۡا كَفَرُوۡا بِهٖ ۫ فَلَعۡنَةُ اللّٰهِ عَلَى الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۸۹﴾ بِئۡسَمَا اشۡتَرَوۡا بِهٖۤ اَنۡفُسَهُمۡ اَنۡ يَّكۡفُرُوۡا بِمَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ بَغۡيًا اَنۡ يُّنَزِّلَ اللّٰهُ مِنۡ فَضۡلِهٖ عَلٰى مَنۡ يَّشَآءُ مِنۡ عِبَادِهٖ ۚ فَبَآءُوۡ بِغَضَبٍ عَلٰى غَضَبٍ ؕ وَ لِلۡكٰفِرِيۡنَ عَذَابٌ مُّهِيۡنٌ ﴿۹۰﴾

۽ اسان موسيٰ کي ڪتاب ڏنو ۽ پوءِ هڪ ٻئي جي پويان رسول موڪليا ۽ عيسيٰ پٽ مريم کي پڌريون نشانيون ڏنيون ۽ روح پاڪ سان اُن جي مدد ڪئي تہ جڏهن بہ ڪو رسول توهان وٽ اُها شيءِ کڻي آيو، جنهن کي توهان جون دليون نہ چاهينديون هيون تہ پوءِ توهان تڪبّر ڪيو. پوءِ هڪ جماعت کي توهان ڪوڙو ڪيو ۽ هڪ جماعت کي ماري ڇڏيو. ۽ يهودي چون ٿا تہ اسان جون دليون محفوظ آهن. نہ! پر الله انهن جي انڪار جي سبب انهن تي لعنت ڪئي آهي. ان ڪري هو گهٽ ئي ايمان آڻيندا آهن. ۽ جڏهن الله جي طرفان انهن وٽ هڪ ڪتاب آيو جيڪو تصديق ڪندڙ آهي اُن جي جيڪو انهن وٽ آهي ۽ اُهي شروع کان ئي ڪافرن تي فتح گهرندا هئا. پوءِ جڏهن آئي انهن وٽ اُها شيءِ جنهن کي انهن سڃاتي ورتو هو تہ انهن اُن جو انڪار ڪري ڇڏيو. تنهنڪري الله جي لعنت آهي انڪار ڪرڻ وارن تي. ڪيڏي نہ خراب شيءِ آهي اُها جنهن سان انهن پنهنجن جانين جو سودو ڪيو، جو هو انڪار ڪري رهيا آهن الله جي نازل ڪيل ڪلام جو ان ضد جي ڪري تہ الله پنهنجي فضل مان جنهن کي چاهي پنهنجي ٻانهن مان ان تي ڪتاب نازل ڪري. پوءِ اهي غضب مٿان غضب جا مستحق ٿيا ۽ انڪار ڪرڻ وارن جي لاءِ ذلت جو عذاب آهي. ٨٧-٩٠

---

توريت الله جو ڪتاب هو، جيڪو يهودين تي نازل ٿيو. پر آهستي آهستي انهن وٽ توريت جي حيثيت قومي تبرڪ وانگر ٿي وئي. قومي عظمت ۽ نجات جي علامت طور يهودي اجا بہ اُن کي سيني سان لڳايو وينا هئا. پر انهن توريت کي رهنما ڪتاب جي مقام تان هٽائي ڇڏيو هو. حضرت موسيٰؑ کان پوءِ بار بار انهن ۾ انبياء ايندا رهيا، مثلاً يوشع نبيؑ، دائود نبيؑ، زڪريا نبيؑ، يحييٰ نبيؑ وغيره. انهن جو آخري نبي حضرت عيسيٰؑ هو. اهي سڀ نبي يهودين کي اِها نصيحت ڪرڻ آيا تہ توريت کي پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ شامل ڪريو. پر توريت جي تقدس تي ايمان رکڻ جي باوجود نبين جو آواز يهودين جي لاءِ سيني آوازن کان وڌيڪ ناقابل برداشت ثابت ٿيو. هو الله جي نبين کي نبي مڃڻ کان انڪار ڪندا رهيا. ايستائين جو انهن کي قتل ڪري ڇڏيندا هئا. ان جو سبب اهو هو تہ توريت

جي نالي تي جنهن زندگي کي انهن اختيار ڪيو هو، اُها حقيقت ۾ نفس پرستي ۽ دنيا پرستي جي هڪ زندگي هئي. جنهن جي مٿان انهن الله جي ڪتاب جو ٺپو لڳائي ڇڏيو هو. الله جا نبي جڏهن خالص حق جي دعوت پيش ڪندا هئا ته انهن کي ائين نظر ايندو هو ته هي دعوت انهن جي مذهبي حيثيت جو انڪار ڪري رهي آهي. پوءِ انهن جي اندر تڪبر واري نفسيات جاڳي پوندي هئي ۽ هو نبين جو اعتراف ڪرڻ جي بجاءِ انهن کي ختم ڪرڻ جي ڪڏ پئجي ويندا هئا.

اهوئي ساڳيو معاملو عرب جي يهودين رسول اللهﷺ سان ڪيو. هو پنهنجن ڪتابن ۾ آخري رسولﷺ جي اڳڪٿي کي ڏسي چوندا هئا ته جڏهن اُهو نبي ايندو ته اسان ان سان ملي ڪري ڪافرن ۽ مشرڪن کي شڪست ڏينداسون. پر انهن جي اِها ڳالهه رڳو ڪوڙي تقرير هئي جيڪا هو پنهنجي پاڻ کي مذهب جو نگهبان ظاهر ڪرڻ جي لاءِ ڪندا هئا. جيئن ئي ”اُهو نبي“ آيو ته انهن جي حقيقت کلي پئي، انهن جا جاهلاڻا تعصب پنهنجي گروهه کان ٻاهر جي هڪ نبي جو اعتراف ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي ويا. قرآن ۾ پاڻﷺ جي صداقت جي باري ۾ جيڪي واضح دليل ڏنا ويا هئا، اُنهن جو جواب ڏيڻ کان هو عاجز ۽ بيوس هئا. ان ڪري هو چوڻ لڳا ته توهان جي فريب ڏيندڙ ڳالهين کان متاثر ٿي اسان پنهنجن بزرگن جو دين نه ٿا ڇڏي سگهون.

وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمْ اٰمِنُوْا بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ قَالُوْا نُؤْمِنُ بِمَآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا وَ يَكْفُرُوْنَ بِمَا
وَرَآءَهٗ ۗ وَ هُوَ الْحَقُّ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَهُمْ ؕ قُلْ فَلِمَ تَقْتُلُوْنَ اَنْۢبِيَآءَ اللّٰهِ مِنْ قَبْلُ اِنْ
كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۹۱﴾ وَ لَقَدْ جَآءَكُمْ مُّوْسٰى بِالْبَيِّنٰتِ ثُمَّ اتَّخَذْتُمُ الْعِجْلَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَ
اَنْتُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿۹۲﴾ وَ اِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَكُمْ وَ رَفَعْنَا فَوْقَكُمُ الطُّوْرَ ؕ خُذُوْا مَآ اٰتَيْنٰكُمْ
بِقُوَّةٍ وَّ اسْمَعُوْا ؕ قَالُوْا سَمِعْنَا وَ عَصَيْنَا ۗ وَ اُشْرِبُوْا فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْعِجْلَ بِكُفْرِهِمْ ؕ قُلْ
بِئْسَمَا يَاْمُرُكُمْ بِهٖۤ اِيْمَانُكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۹۳﴾ قُلْ اِنْ كَانَتْ لَكُمُ الدَّارُ الْاٰخِرَةُ
عِنْدَ اللّٰهِ خَالِصَةً مِّنْ دُوْنِ النَّاسِ فَتَمَنَّوُا الْمَوْتَ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۹۴﴾ وَ لَنْ يَّتَمَنَّوْهُ
اَبَدًۢا بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿۹۵﴾ وَ لَتَجِدَنَّهُمْ اَحْرَصَ النَّاسِ عَلٰى
معانقة ۲ حَيٰوةٍ ۚ وَ مِنَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا ۚ يَوَدُّ اَحَدُهُمْ لَوْ يُعَمَّرُ اَلْفَ سَنَةٍ ۚ وَ مَا هُوَ بِمُزَحْزِحِهٖ
ع ۱۱ مِنَ الْعَذَابِ اَنْ يُّعَمَّرَ ؕ وَ اللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِمَا يَعْمَلُوْنَ ﴿۹۶﴾

۽ جڏهن انهن کي چيو وڃي ٿو ته ان ڪلام تي ايمان آڻيو جيڪو الله نازل ڪيو آهي ته هو چوندا آهن اسان ان تي ايمان رکون ٿا جيڪو اسان تي نازل ٿيو آهي ۽ هو ان جو انڪار ڪن ٿا جيڪو ان کان پوءِ آيو آهي. جڏهن ته اهو حق آهي ۽ سچو ڪندڙ آهي ان جو جيڪو انهن وٽ آهي. چئو، جيڪڏهن توهان ايمان وارا آهيو ته توهان الله جي پيغمبرن کي ان کان اڳ ڇو قتل ڪندا رهيا آهيو. ۽ موسيٰ توهان وٽ پڌريون نشانيون کڻي آيو. پوءِ توهان اُن جي پٺيان ڳابي کي معبود بڻائي ورتو ۽ توهان ظلم ڪرڻ وارا آهيو ۽ جڏهن اسان طور جبل کي مٿي

ڪٽي ۽ توهان ڪان پڪو عهدو ورتو تہ جيڪو حڪم اسان توهان کي ڏنو آهي ان کي مضبوطي سان جهليو ۽ ٻڌو. انهن چيو اسان ٻڌو ۽ اسان نہ مڃو ۽ سندن ڪفر جي ڪري گابي جي محبت انهن جي دلين ۾ گهر ڪري وئي هئي. چؤ جيڪڏهن توهان ايمان وارا آهيو تہ ڪيڏي نہ خراب شيءِ آهي اُها جيڪو توهان جو ايمان توهان کي سيکاري ٿو. چؤ جيڪڏهن آخرت جو گهر الله وٽ ٻين ماڻهن جي مقابلي ۾ صرف توهان جي لاءِ خاص آهي تہ پوءِ توهان مرڻ جي آرزو ڪريو، جيڪڏهن توهان سچا آهيو. پر هو ڪڏهن بہ اُن جي آرزو نہ ڪندا، ان سبب جي ڪري جيڪي سندن هٿ اڳتي موڪلي چڪا آهن ۽ الله چڱي طرح ڄاڻي ٿو ظالمن کي. ۽ تون انهن کي زندگي جو سڀ کان وڌيڪ حريص ڏسندين، انهن ماڻهن کان بہ وڌيڪ جيڪي مشرڪ آهن. انهن مان هر هڪ ائين چاهي ٿو تہ هزار سالن جي عمر ماڻي. حالانڪ ايترو جيئڻ بہ اُن کي عذاب کان بچائي نہ ٿو سگهي ۽ الله ڏسي رهيو آهي جيڪي ڪجهہ هو ڪري رهيا آهن. ٩١-٩٦

---

يهودي جيڪي قرآن جي دعوت کي مڃڻ لاءِ تيار نہ هُئا، ان جو سبب انهن جو اِهو احساس هو تہ هو اڳ ۾ ئي حق تي آهن ۽ حق پرستن جي سيني ڪان وڏي جماعت (اسرائيل) سان تعلق رکندڙ آهن. پر حقيقت ۾ اِها گروهہ پرستي هئي، جنهن کي هنن حق پرستي سمجهي ورتو هو. انهن گروهي حق کي خالص حق جو مقام ڏئي ڇڏيو هو. اِهو ئي سبب آهي جو جڏهن حق پنهنجي خالص صورت ۾ ظاهر ٿيو تہ اُهي اُن کي قبول ڪرڻ لاءِ اڳيان وڌي نہ سگهيا. جيڪڏهن خالص حق انهن جو مقصود هجي ها تہ انهن جي لاءِ اِهو سمجهڻ مشڪل نہ هجي ها تہ قرآن جو اچڻ خود انهن جي مقدس ڪتاب توريت جي اڳڪٿي جي عين مطابق آهي ۽ قرآن جي نازل ٿيڻ کان پوءِ هاڻي قرآن ئي ڪتاب حق آهي، نہ وري سندن گروهي مذهب.

انهن جو معاملو حقيقت ۾ حق پرستي جو معاملو نہ آهي، اُن جو ثبوت انهن جي پنهنجي تاريخ ۾ آهي تہ انهن پاڻ پنهنجي گروهہ جي نبين (مثلاً حضرت زڪرياؑ، حضرت يحييٰؑ) کي قتل ڪيو جن انهن جي زندگين تي تنقيد ڪئي. جيڪي انهن جي خلاف شاهدي ڏيندا هئا، تہ جيئن انهن کي الله ڏانهن ڦيري واپس آڻين. (نحمياه: ٩: ٢٦)

حضرت موسيٰؑ جيڪي معجزا پيش ڪيا، ان کان پوءِ سندس نبوت ۾ ڪوبہ شڪ نہ هو. پر جبل طور جي چاليهہ ڏينهن واري قيام جي زماني ۾ جڏهن حضرت موسيٰؑ جو شخصي دٻاؤ انهن جي مٿان نہ رهيو تہ انهن گابي کي معبود بڻائي ورتو. انهن جي سِرن تي جبل (طور) اُبو ڪري بيهاريو ويو تڏهن بہ رڳو وقتي طور تي جان بچائڻ لاءِ انهن چئي ڇڏيو تہ ها اسان ٻڌوسون. پر ان کان پوءِ انهن جي اڪثريت بدستور نافرماني واري زندگي تي قائم رهي. جيڪڏهن اُهي سچ پچ خداپرست هجن ها تہ انهن جي سڄي توجهہ الله جي هُن دنيا ڏانهن لڳي وڃي ها، جيڪا موت کان پوءِ اچڻ واري آهي. پر انهن جو حال اِهو آهي تہ اُهي سڀ کان وڌيڪ موجوده دنيا جي محبت ۾ غرق آهن.

قُلْ مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّجِبْرِيْلَ فَاِنَّهٗ نَزَّلَهٗ عَلٰى قَلْبِكَ بِاِذْنِ اللّٰهِ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ وَ هُدًى وَّ بُشْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ۝٩٧ مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّلّٰهِ وَ مَلٰٓئِكَتِهٖ وَ رُسُلِهٖ وَ جِبْرِيْلَ وَ مِيْكٰىلَ فَاِنَّ اللّٰهَ عَدُوٌّ لِّلْكٰفِرِيْنَ ۝٩٨ وَ لَقَدْ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ اٰيٰتٍۭ بَيِّنٰتٍ ۚ وَ مَا يَكْفُرُ بِهَآ اِلَّا

الْفٰسِقُوْنَ۝٩٩ اَوَ كُلَّمَا عٰهَدُوْا عَهْدًا نَّبَذَهٗ فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ ؕ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ۝١٠٠ وَ
لَمَّا جَآءَهُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُصَدِّقٌ لِّمَا مَعَهُمْ نَبَذَ فَرِيْقٌ مِّنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا
الْكِتٰبَ ۙ كِتٰبَ اللّٰهِ وَرَآءَ ظُهُوْرِهِمْ كَاَنَّهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ۝١٠١

چؤ جيڪو جبرائيل جو مخالف آهي ته اُن هن ڪلام کي تنهنجي دل تي الله جي حڪم سان لاٿو آهي، اهو تصديق ڪندڙ آهي ان جي جيڪو ڪانئس اڳ ۾ نازل ٿيل آهي ۽ اهو هدايت ۽ خوشخبري آهي ايمان وارن جي لاءِ. جيڪو دشمن آهي الله جو ۽ اُن جي فرشتن جو ۽ ان جي رسولن جو ۽ جبرائيل ۽ ميڪائيل جو ته الله اهڙن ڪافرن جو دشمن آهي. ۽ اسان توڏانهن پڌريون نشانيون نازل ڪيون ۽ ڪوبه انهن جو انڪار نه ٿو ڪري، پر اُهي ئي ماڻهو جيڪي فاسق آهن. ڇا جڏهن به هو ڪو عهد ڪندا ته انهن مان هڪ گروهه ان کي ٽوڙي اڇلائيندو. پر انهن مان اڪثر ايمان نه ٿا رکن ۽ جڏهن انهن وٽ الله جي طرفان هڪ رسول آيو جيڪو سچو ڪرڻ وارو هو اُن شيءِ جو جيڪا انهن وٽ آهي ته انهن ماڻهن جن کي ڪتاب ڏنو ويو هو، الله جي ڪتاب کي ائين پنيءَ پويان اڇلائي ڇڏيو ڄڻ ته هو ان کي ڄاڻن ئي نه ٿا. ٩٧-١٠١

---

قديم زماني ۾ يهودين جي سرڪشيءَ جي نتيجي ۾ انهن کي بار بار سخت سزائون ڏنيون ويون. الله جي سنت مطابق سزا کان پهرين پيغمبرن جي زباني انهن کي اڳواٽ خبر ڏني ويندي هئي. اِها خبر الله جي طرفان جبرائيلؑ جي ذريعي پيغمبرن وٽ ايندي هئي ۽ اُهي پنهنجي قوم کي ان کان آگاهه ڪندا هئا. اهڙي قسم جي واقعن ۾ اصل سبق اِهو هو ته ماڻهن کي ڪپي ته هو الله جي نافرماني کان بچن، ته جيئن اُهي عذاب الاهي جي پڪڙ ۾ نه اچي وڃن. پر يهودي اُنهن واقعن مان اهڙي قسم جو ڪوبه سبق نه وٺي سگهيا. ان جي بدران اُهي چوڻ لڳا ته جبرائيلؑ اسان جو دشمن آهي. هو هميشه آسمان تان اسان جي خلاف حڪم ڪڻي ايندو آهي. جڏهن رسول اللهﷺ اعلان ڪيو ته جبرائيلؑ جي ذريعي مون تي وحي ڪئي وئي آهي ته يهودين چوڻ شروع ڪيو ته جبرائيلؑ ته اسان جو پراڻو دشمن آهي. اهو ئي سبب آهي ته نبوت جيڪا صرف اسرائيلي گروهه جو حق هو، ان کي اُن هڪ ٻي قبيلي جي فرد تائين پهچائي ڇڏيو.

اهڙي قسم جون بي معنيٰ ڳالهيون اُهي ماڻهو ئي ڪن ٿا جيڪي نافرماني واري ۽ پابندين کان آزاد زندگي گذاري رهيا هجن. يهودين جو حال اِهو هو ته اهي نفس پرستي، ابن ڏاڏن جي تقليد، نسلي ۽ قومي طرفداري واري سطح تي زندگي گذاري رهيا هئا ۽ ڪجھ نمائشي قسم جا مذهبي ڪم ڪري ظاهر ڪندا هئا ته هو عين الله جي دين تي قائم آهن. جيڪي ماڻهو اُن قسم جي ڪوڙي دينداري ۾ مبتلا هجن، اُهي سچي ۽ خالص دين جي دعوت ٻڌي هميشه بگڙي ويندا آهن. ڇاڪاڻ ته اهڙي دعوت انهن کي پنهنجي فخر ۽ وڏائي جي مقام تان لاهڻ جي هم معنيٰ نظر اچي ٿي. اُهي مشتعل نفسيات جي زير اثر اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ لڳندا آهن، جيڪي نحو ۽ صرف (گرامر) جي لحاظ کان صحيح هجڻ جي باوجود حقيقت جي لحاظ کان بلڪل بي معنيٰ هونديون آهن. ظاهر آهي ته فرشتن جو اچڻ ۽ رسولن جو موڪلڻ به مڪمل طور تي خدائي منصوبي جي مطابق هوندو آهي. اهڙي حالت ۾ جڏهن دليل اهو ظاهر ڪن پيا ته پيغمبر عربي وٽ اُها ئي شيءِ آئي آهي جيڪا ابراهيمؑ ۽ موسيٰؑ ۽ عيسيٰؑ تي آيل

هئي ۽ هو اڳين آسماني صحيفن جي اڳڪٿين جي عين مطابق آهي تہ اهو صاف طور تي ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ اها الله جي طرفان آهي. ماڻهو گهٽيون ڳالهيون اهو ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪري ٿو تہ هو ايمان تي قائم آهي. حالانڪ اُهي ڳالهيون صرف ان ڳالهہ جو ثبوت هونديون آهن تہ ماڻهوءَ جو ايمان ۾ خدا پرستي سان ڪوبہ تعلق نہ آهي.

وَ اتَّبَعُوْا مَا تَتْلُوا الشَّيٰطِيْنُ عَلٰى مُلْكِ سُلَيْمٰنَ ۚ وَ مَا كَفَرَ سُلَيْمٰنُ وَ لٰكِنَّ الشَّيٰطِيْنَ
كَفَرُوْا يُعَلِّمُوْنَ النَّاسَ السِّحْرَ ۗ وَ مَآ اُنْزِلَ عَلَى الْمَلَكَيْنِ بِبَابِلَ هَارُوْتَ وَ مَارُوْتَ ؕ وَ
مَا يُعَلِّمٰنِ مِنْ اَحَدٍ حَتّٰى يَقُوْلَآ اِنَّمَا نَحْنُ فِتْنَةٌ فَلَا تَكْفُرْ ؕ فَيَتَعَلَّمُوْنَ مِنْهُمَا مَا
يُفَرِّقُوْنَ بِهٖ بَيْنَ الْمَرْءِ وَ زَوْجِهٖ ؕ وَ مَا هُمْ بِضَآرِّيْنَ بِهٖ مِنْ اَحَدٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَ
يَتَعَلَّمُوْنَ مَا يَضُرُّهُمْ وَ لَا يَنْفَعُهُمْ ؕ وَ لَقَدْ عَلِمُوْا لَمَنِ اشْتَرٰىهُ مَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ مِنْ
خَلَاقٍ ۛ وَ لَبِئْسَ مَا شَرَوْا بِهٖٓ اَنْفُسَهُمْ ؕ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٠٢﴾ وَ لَوْ اَنَّهُمْ اٰمَنُوْا وَ اتَّقَوْا
لَمَثُوْبَةٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ خَيْرٌ ؕ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٠٣﴾ ع ١٢ ١٢

۽ هو ان شيءِ جي پويان پئجي ويا جنهن کي شيطان سليمان جي سلطنت ڏانهن منسوب ڪري پڙهندا هئا. حالانڪ سليمان ڪفر نہ ڪيو هو، پر اُهي شيطان هئا جن ڪفر ڪيو. هو ماڻهن کي جادو سيکاريندا هئا ۽ اُهي اُن شيءِ ۾ پئجي ويا جيڪا بابل ۾ ٻن فرشتن، هاروت ۽ ماروت تي لاٿي وئي، جڏهن تہ انهن جو حال اِهو هو تہ جڏهن بہ ڪنهن کي پنهنجو هيءُ فن سيکاريندا هئا تہ ان کي پهرين خبردار ڪندا هئا تہ اسان آزمائش جي لاءِ آهيون. پوءِ توهان ڪافر نہ بڻجو. پر هو انهن کان اُها شيءِ سکندا هئا. جنهن سان مڙس ۽ ان جي زال ۾ جدائي وجهن. حالانڪ هو الله جي (اذن) حڪم کان سواءِ ان سان ڪنهن جو ڪجهہ بہ بگاڙي نہ ٿي سگهيا ۽ هو اهڙي شيءِ سکندا هئا. جيڪا انهن کي نقصان پهچائي ۽ نفعو نہ ڏي. ۽ هو ڄاڻندا هئا تہ جيڪو بہ ان شيءِ جو خريدار ٿيندو اُن جو آخرت ۾ ڪو بہ حصو نہ آهي. ڪيڏي نہ خراب شيءِ آهي جنهن جي بدلي انهن پنهنجون جانيون وڪيون. ڪاش! هو ان ڳالهہ کي سمجهن ها ۽ جيڪڏهن اُهي ايمان آڻين ها ۽ تقويٰ اختيار ڪن ها تہ الله جو بدلو انهن جي لاءِ بهتر هو، ڪاش هو اُن کي سمجهن ها. ١٠٢-١٠٣

---

آسماني ڪتاب جي حامل ڪنهن گروهہ جو بگاڙ هميشہ هڪ هوندو آهي: يعني آخرت جي نجات. جنهن جو سڄو دارومدار صالح عملن تي رکيل آهي، ان جو راز بي عملي ۾ تلاش ڪري وٺڻ. الله جو ڪلام حقيقت ۾ عمل جي پڪار آهي. پر جڏهن قوم تي زوال ايندو آهي تہ ان جا ماڻهو مقدس ڪلام کي لکي وٺڻ يا زبان مان چئي ڇڏڻ کي هر قسم جي برڪتن جو پراسرار نسخو سمجهي وٺن ٿا. هي اُهائي نفسيات آهي، جنهن مان سحر ۽ غيب جون خبرون ۽ عمليات وجود ۾ اچن ٿا. شو منتر جهڙين شين سان جنت حاصل ڪرڻ وارا دنيا کي بہ شو منتر جي ذريعي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويندا آهن. بزرگن جي عقيدت کي نجات جو ذريعو سمجهڻ وارا روحن سان تعلق قائم ڪري پنهنجا دنياوي

مسئلا حل ڪرڻ لڳندا آهن. وظيفن جي طلسماتي اثرن تي يقين ڪرڻ وارا سياسي چمڪ ڏيکاري امت جي تعمير ۽ دين کي زندهه ڪرڻ جا منصوبا ٺاهيندا آهن.

يهودي پنهنجي زوال کان پوءِ جڏهن بي عملي ۽ وهم پرستي جي ڪيفيت ۾ مبتلا ٿيا ته انهن جي وچ ۾ اهڙا ماڻهو پيدا ٿيا جيڪي سحر ۽ غيب جي علم جا دڪان کولي ويهي رهيا. انهن ظالمن پنهنجي ڪاروبار کي چمڪائڻ لاءِ پنهنجي هن فن کي حضرت سليمانؑ ڏانهن منسوب ڪري ڇڏيو. انهن چوڻ شروع ڪيو ته سليمانؑ کي جنن ۽ هوائن تي جيڪا غير معمولي حڪومت حاصل هئي، اُها سڀ علم سحر جي ڪري هئي ۽ اِهو سليماني علم ڪجهه جنن جي ذريعي اسان کي به حاصل ٿي ويو آهي. اهڙيءَ طرح حضرت سليمانؑ ڏانهن منسوب ٿيل عمليات جو فن يهودين جي اندر وڏي پيماني تي ڦهلجي ويو.

حضرت لوطؑ جي قوم هم جنس پرستيءَ جي برائي ۾ مبتلا هئي، ان ڪري انهن وٽ خوبصورت ڇوڪرن جي صورت ۾ فرشتا آيا. اهڙيءَ طرح يهودين جي آزمائش لاءِ بابل ۾ به فرشتا موڪليا ويا جيڪي درويشن جي لباس ۾ عمليات سيکاريندا هئا. پوءِ به هو چوندا هئا ته هي توهان لاءِ امتحان آهي. پر ان آگاهي جي باوجود به اُهي ان فن کي سکڻ لاءِ ڊوڙي پيا. ايستائين جو انهن اُن فن کي ناجائز مقصدن ۾ استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقُوْلُوْا رَاعِنَا وَ قُوْلُوا انْظُرْنَا وَ اسْمَعُوْا ؕ وَ لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٠٤﴾ مَا يَوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَ لَا الْمُشْرِكِيْنَ اَنْ يُّنَزَّلَ عَلَيْكُمْ مِّنْ خَيْرٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ يَخْتَصُّ بِرَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿١٠٥﴾ مَا نَنْسَخْ مِنْ اٰيَةٍ اَوْ نُنْسِهَا نَاْتِ بِخَيْرٍ مِّنْهَاۤ اَوْ مِثْلِهَا ؕ اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٠٦﴾ اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ وَ مَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِیٍّ وَّ لَا نَصِيْرٍ ﴿١٠٧﴾ اَمْ تُرِيْدُوْنَ اَنْ تَسْـَٔلُوْا رَسُوْلَكُمْ كَمَا سُئِلَ مُوْسٰى مِنْ قَبْلُ ؕ وَ مَنْ يَّتَبَدَّلِ الْكُفْرَ بِالْاِيْمَانِ فَقَدْ ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِيْلِ ﴿١٠٨﴾

اي ايمان وارؤ! توهان راعنا نه چئو پر انظرنا چئو ۽ ٻڌو ۽ ڪفر ڪرڻ وارن جي لاءِ دردناڪ سزا آهي. جن ماڻهن انڪار ڪيو، چاهي اهل ڪتاب هجن يا مشرڪ، اهي نه ٿا چاهين ته توهان جي مٿان توهان جي رب جي طرفان ڪا ڀلائي نازل ٿئي ۽ الله جنهن کي چاهي ٿو پنهنجي رحمت جي لاءِ چونڊي وٺي ٿو. الله وڏي فضل وارو آهي. اسان جنهن آيت کي موقوف ڪريون ٿا يا وسارائيندا آهيون ته ان کان بهتر يا ان جهڙي ٻي آڻيون ٿا. ڇا تون نه ٿو ڄاڻين ته الله هر شيءِ تي قدرت رکي ٿو. ڇا تون نه ٿو ڄاڻين ته الله جي لاءِ ئي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي آهي ۽ توهان جي لاءِ الله کانسواءِ نه ڪوئي دوست آهي ۽ نه ڪوئي مددگار. ڇا توهان چاهيو ٿا ته پنهنجي رسول کان سوال ڪريو، جهڙي طرح ان کان پهرين موسيٰ کان سوال ڪيا ويا. ۽ جنهن شخص ايمان کي ڪفر سان بدلايو اهو يقيناً سڌي راهه کان ڀٽڪي ويو. ١٠٤-١٠٨

---

ڪنهن کي الله جي طرفان سچائي ملي ۽ هو ان جو داعي بڻجي پوي ته ماڻهو ان جا مخالف بڻجي

ويندا آهن. ڇاڪاڻ ته ان جي دعوت ۾ ماڻهن ڪي پنهنجي حيثيت جي نفي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. يهودين جي لاءِ مخالفت جو اِهو سبب وڌيڪ شدت سان موجود هو. ڇاڪاڻ ته هو نبوّت کي پنهنجو قومي حق سمجهندا هئا. انهن جي لاءِ اها ڳالهه ناقابل برداشت هئي ته انهن جي گروهه کان سواءِ ڪنهن ٻي گروهه ۾ خدا جي پيغمبر جو ظهور ٿئي. يهودي پاڻﷺ جي دعوت جي باري ۾ طرح طرح جا مذهبي بحث ڇيڙيندا هئا ته جيئن ماڻهن کي شڪ ۾ وجهن ته پاڻﷺ جيڪو ڪجهه پيش ڪري رهيا آهن، اها صرف هڪ شخص جي ذاتي سوچ آهي، اُها الله جي طرفان نازل ٿيل شيءِ نه آهي. انهن مان هڪڙي ڳالهه اِها هئي ته قرآن ۾ ڪجهه قانوني حڪم توريت کان مختلف هئا. انهن کي ڏسي يهودي چوندا هئا، ڇا الله به حڪم ڏيڻ ۾ غلطي ڪري ٿو جو هڪ دفعي هڪڙو حڪم ڏي ۽ ان کان پوءِ ساڳي معاملي ۾ مختلف حڪم موڪلي. اهڙا شڪ شبها يهودين ايتري ڪثرت سان ڦهلائي ڇڏيا جو خود مسلمانن ۾ ڪجهه سادي مزاج ماڻهو انهن بابت رسول اللهﷺ کان سوال ڪرڻ لڳا. وڌيڪ اِهو ته يهودي جڏهن پاڻﷺ جي مجلس ۾ ويهندا هئا ته اهڙا لفظ ڳالهائيندا هئا جن سان پاڻﷺ جي بي حقيقت ظاهر ڪن. مثلاً ”اسان ڏانهن توجهه ڪيو“ جي لاءِ عربي ۾ هڪ محفوظ لفظ اُنظرنا هو. پر هو ان لفظ کي ڇڏي راعِنا چوندا هئا. ڇاڪاڻ ته ٿورو ڇڪي ڪري ان کي راعِينا چيو وڃي ته ان جي معنيٰ ”اسان جو ڌنار“ ٿي ويندي. اهڙيءَ طرح هو ڪڏهن الف کي دٻائي ڪري ان لفظ کي راعِنَ چوندا هئا، جنهن جي معنيٰ نادان هوندي آهي.

هدايت ڪئي وئي ته: (۱) گفتگوءَ ۾ صاف لفظ استعمال ڪريو. مشڪوڪ لفظ نه ڳالهايو، جنهن مان ڪو برو مطلب نڪري سگهندو هجي. (۲) جيڪا ڳالهه چئي وڃي ان کي غور سان ٻڌو ۽ ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو. (۳) سوالن جي ڪثرت ماڻهوءَ کي سڌي رستي تان ڀٽڪائي ڇڏي ٿي، ان لاءِ سوال ۽ جواب جي بدران عبرت ۽ نصيحت وارو ذهن ٺاهيو. (٤) پنهنجي ايمان جي حفاظت ڪيو. ائين نه ٿئي ته ڪنهن غلطي جي ڪري توهان پنهنجي ايمان کان ئي محروم ٿي وڃو. (۵) دنيا ۾ ڪنهن وٽ ڪو خير ڏسو ته حسد ۽ ساڙ ۾ مبتلا نه ٿيو، ڇاڪاڻ ته اهو الله جو هڪ عطيو آهي، جيڪو ان جي فيصلي مطابق اُن جي ڪنهن ٻانهي کي پهتو آهي.

وَدَّ كَثِيْرٌ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ لَوْ يَرُدُّوْنَكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ اِيْمَانِكُمْ كُفَّارًا ۚۖ حَسَدًا مِّنْ عِنْدِ
اَنْفُسِهِمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ الْحَقُّ ۚ فَاعْفُوْا وَ اصْفَحُوْا حَتّٰى يَاْتِيَ اللّٰهُ بِاَمْرِهٖ ؕ اِنَّ
الثلٰثة اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۱۰۹﴾ وَ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ ؕ وَ مَا تُقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ
مِّنْ خَيْرٍ تَجِدُوْهُ عِنْدَ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۱۱۰﴾ وَ قَالُوْا لَنْ يَّدْخُلَ الْجَنَّةَ
اِلَّا مَنْ كَانَ هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى ؕ تِلْكَ اَمَانِيُّهُمْ ؕ قُلْ هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ
صٰدِقِيْنَ ﴿۱۱۱﴾ بَلٰى ۚ مَنْ اَسْلَمَ وَجْهَهٗ لِلّٰهِ وَ هُوَ مُحْسِنٌ فَلَهٗۤ اَجْرُهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ۪ وَ لَا خَوْفٌ
ع ۱۳ ۹ ۱۳ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۱۱۲﴾ؑ

گھڻا اهل ڪتاب دل سان اهو چاهين ٿا ته توهان جي مؤمن بڻجڻ ڪان پوءِ هو ڪيئن به ڪري وري توهان کي ڪافر بڻائي ڇڏين، پنهنجي حسد جي ڪري، ان جي باوجود جو حق انهن تي واضح ٿي چڪو آهي. پوءِ توهان معاف ڪيو ۽ درگذر ڪيو، ايستائين جو الله جو فيصلو اچي وڃي. بيشڪ الله هر شيءِ تي قدرت رکي ٿو ۽ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ادا ڪريو. ۽ جيڪا به ڀلائي توهان پنهنجي لاءِ اڳيان موڪليندؤ ان کي توهان الله وٽ لهندؤ. جيڪو ڪجھ توهان ڪيو ٿا، الله يقينًا ان کي ڏسي رهيو آهي. ۽ هو چون ٿا ته جنت ۾ صرف اُهي ئي ماڻهو ويندا جيڪي يهودي هجن يا عيسائي هجن. اهي رڳو انهن جون تمنائون آهن. چؤ ته آڻيو پنهنجو دليل جيڪڏهن توهان سچا آهيو، پر جنهن پنهنجو پاڻ کي الله جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ هو مخلص به آهي ته اِهڙي شخص لاءِ اجر آهي ان جي رب وٽ، انهن جي لاءِ نه ڪو خوف آهي ۽ نه وري اهي غمگين ٿيندا. ۱۰۹-۱۱۲

---

قرآن جو آواز جيتوڻيڪ گھڻن ماڻهن لاءِ اوپرو آواز هو، پوءِ به انهن مان اهڙا ماڻهو به هئا جيڪي ان کي پنهنجي دل جو آواز سمجهي ان جي دائري ۾ داخل ٿيندا رهيا. اها صورتحال يهودين لاءِ ناقابل برداشت بڻجي وئي. ڇاڪاڻ ته اها ڳالهه هڪ اهڙي شيءِ جي ترقي جي هم معنيٰ هئي جنهن کي هو بي حقيقت سمجهي نظر انداز ڪندا رهيا. انهن ائين ڪيو ته هڪ پاسي مشرڪن کي ڀڙڪائي اسلام جي خلاف جنگ لاءِ راضي ڪيو ۽ ٻئي پاسي هو نون اسلام آڻيندڙن کي قسم قسم جي شڪ ۽ شبهن ۾ مبتلا ڪندا رهيا، ته جيئن اهي قرآن ۽ صاحب قرآن ڪان بدظن ٿي وڃن ۽ ٻيهر پنهنجي اباڻي مذهب ڏانهن واپس موٽي وڃن. اُن جي نتيجي ۾ مسلمانن جي اندر يهودين جي خلاف اشتعال پيدا ٿيڻ فطري هو، پر الله انهن کي ان اشتعال ۾ اچڻ ڪان منع فرمايو. حڪم ٿيو ته يهودين سان بحث مباحثو يا انهن جي خلاف ڪا اڳرائي موجوده مرحلي ۾ هرگز نه ڪئي وڃي. ان معاملي ۾ الله تي پورو ڀروسو ڪيو وڃي ۽ ان وقت جو انتظار ڪيو وڃي جڏهن الله تعاليٰ حالتن ۾ اهڙي تبديلي ڪري ڇڏي جو انهن جي خلاف ڪا فيصلائتي ڪارروائي ڪرڻ ممڪن ٿي پوي. هن وقت مسلمانن کي کپي ته هو صبر ڪن ۽ نماز ۽ زڪوات تي مضبوطيءَ سان قائم رهن. صبر ماڻهوءَ کي اُن ڪان بچائي ٿو ته هو رد عمل جي نفسيات تحت منفي ڪارروائيون ڪرڻ لڳي. نماز ماڻهوءَ کي الله سان جوڙي ٿي ۽ پنهنجي مال ۾ ٻين ڀائرن کي حقدار بڻائڻ اُها شيءِ آهي جنهن سان پاڻ ۾ خير خواهي ۽ اتحاد جي فضا پيدا ٿيندي آهي.

نون اسلام آڻيندڙن کي يهودي چوندا هئا ته توهان کي جيڪڏهن پنهنجو اباڻو مذهب ڇڏڻو آهي ته يهوديت اختيار ڪري وٺو يا پوءِ عيسائي ٿي وڃو. ڇاڪاڻ ته جنت ته رڳو يهودين ۽ عيسائين لاءِ آهي، جيڪي هميشه ڪان نبين ۽ بزرگن جي جماعت رهيا آهن. فرمايو ويو ته ڪنهن گروهه سان وابستگي ڪنهن کي به جنت جو مستحق نه ٿي بڻائي. جنت جو فيصلو ماڻهوءَ جي پنهنجي عمل جي بنياد تي ڪيو ويندو نه وري گروهي فضيلت جي بنياد تي. احسان جي معنيٰ آهي ڪنهن ڪم کي سٺي نموني ڪرڻ. اسلام ۾ سنو هجڻ اِهو آهي ته الله لاءِ ماڻهو جي سپردگي ايتري ته ڪامل هجي جو هر ٻي شيءِ جي اهميت ان جي ذهن مان نڪري وڃي. گروهي تعصب، شخصي وفاداريون ۽ دنياوي مصلحتون ڪا به شيءِ هن لاءِ الله جي سڏ تي ان ڏانهن ڊوڙڻ ۾ رڪاوٽ نه بڻجي.

وَ قَالَتِ الۡيَهُوۡدُ لَيۡسَتِ النَّصٰرٰى عَلٰى شَىۡءٍ ۖ وَّ قَالَتِ النَّصٰرٰى لَيۡسَتِ الۡيَهُوۡدُ عَلٰى شَىۡءٍ ۙ وَّهُمۡ يَتۡلُوۡنَ الۡكِتٰبَ ؕ كَذٰلِكَ قَالَ الَّذِيۡنَ لَا يَعۡلَمُوۡنَ مِثۡلَ قَوۡلِهِمۡ ۚ فَاللّٰهُ

يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ﴿۱۱۳﴾ وَ مَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ مَّنَعَ
مَسٰجِدَ اللّٰهِ اَنْ يُّذْكَرَ فِيْهَا اسْمُهٗ وَ سَعٰى فِيْ خَرَابِهَا ؕ اُولٰٓئِكَ مَا كَانَ لَهُمْ اَنْ
يَّدْخُلُوْهَاۤ اِلَّا خَآئِفِيْنَ ؕ۬ لَهُمْ فِي الدُّنْيَا خِزْيٌ وَّ لَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيْمٌ﴿۱۱۴﴾ وَ
لِلّٰهِ الْمَشْرِقُ وَ الْمَغْرِبُ ۗ فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ﴿۱۱۵﴾ وَ قَالُوا
اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا ۙ سُبْحٰنَهٗ ؕ بَلْ لَّهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ كُلٌّ لَّهٗ قٰنِتُوْنَ﴿۱۱۶﴾ بَدِيْعُ
السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ وَ اِذَا قَضٰۤى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ﴿۱۱۷﴾

۽ يهودين چيو نصاريٰ ڪنهن شيءِ تي نہ آهن ۽ نصارن چيو تہ يهودي ڪنهن شيءِ تي نہ آهن. ۽ اُهي سڀ آسماني ڪتاب پڙهندا آهن. اهڙيءَ طرح انهن ماڻهن چيو جن وٽ علم نہ آهي انهن جهڙو ئي قول. پوءِ الله قيامت جي ڏينهن ان ڳالهہ جو فيصلو ڪندو جنهن ۾ هو جهڳڙو ڪري رهيا هئا. ۽ اُن کان وڌو ظالم ٻيو ڪير ٿيندو جيڪو الله جي مسجدن ۾ سندس نالي وٺڻ کان روڪي ۽ انهن کي اجاڙڻ جي ڪوشش ڪري. انهن جو حال تہ هي هئڻ گهرجي ها تہ مسجدن ۾ الله کان ڊڄندي داخل ٿين ها. انهن جي لاءِ دنيا ۾ رُسوائي آهي ۽ آخرت ۾ انهن جي لاءِ وڏي سزا آهي ۽ اوڀر ۽ اولهہ الله جي لاءِ ئي آهن. توهان جيڏانهن بہ رخ ڪريو، انهي پاسي الله آهي. يقيناً الله وسعت وارو آهي، علم وارو آهي. ۽ هو چون ٿا تہ الله پٽ ڪري ورتو آهي، هو ان کان پاڪ آهي. پر آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪو ڪجهہ آهي اهو سڀ سندس ئي آهي. سڀئي سندس حڪم جا تابعدار آهن. هو آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪندڙ آهي. هو جڏهن ڪنهن ڪم جو فيصلو ڪندو آهي تہ رڳو فرمائيندو آهي تہ ٿي پؤ، تہ اُهو ٿي پوندو آهي. ١١٣-١١٧

---

يهودين نبين ۽ بزرگن سان وابستگي کي حق جو معيار بڻايو. ان ڪري انهن کي پنهنجي قوم حق تي ۽ ٻيون قومون باطل تي نظر پئي آيون. نصرانين پنهنجي اندر هي امتياز ڏٺو تہ الله پنهنجو ”اڪيلو پٽ“ انهن وٽ موڪليو. مڪي جا مشرڪ پنهنجي اها خاصيت سمجهندا هئا تہ هو الله جي مقدس گهر جا نگهبان آهن. اهڙيءَ طرح هر گروهہ پنهنجي حال موجب حق ۽ صداقت جو هٿرادو معيار بڻائي رکيو هو ۽ جڏهن اُهي ان معيار جي روشني ۾ ٻين کي جانچيندا هئا تہ انهن کي پنهنجي ذات حق تي ۽ ٻين جي باطل تي نظر ايندي هئي. پر انهن جي عملي حالت جنهن شيءِ جو ثبوت ڏئي رهي هئي، اُها ان جي بلڪل ابتڙ هئي. اهي فرقا فرقا بڻيل هئا. انهن مان جڏهن بہ ڪنهن کي موقعو ملندو هو تہ عبادت جي لاءِ ٺهيل خدا جي گهر کي پنهنجي فرقي کان سواءِ ٻين فرقن لاءِ بند ڪري ڇڏيندا هئا ۽ اهڙيءَ طرح خدا جي گهر جي ويراني جا باعث بڻيل هئا. عبادت گاهہ تہ اُهو مقام آهي جتي انسان الله کان ڊڄندي ۽ ڏڪندي داخل ٿئي. جيڪڏهن اهي ماڻهو حقيقت ۾ الله وارا هجن ها تہ ڪيئن ممڪن هو جو اُهي عبادت جي لاءِ ايندڙ ڪنهن ٻانهي کي روڪين يا ان کي ستائين. الله وارا تہ الله جي عظمت جي احساس ۾ جهڪيل هوندا آهن، پوءِ انهن کان اهڙي قسم جي سرڪشي ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿي.

انهن الله کي انسان تي قياس ڪيو. هڪ انسان جيڪڏهن اوڀر ۾ هجي تہ ساڳي وقت هو اولهہ ۾ نہ ٿو ٿي سگهي. اُهي سمجهندا هئا تہ خدا بہ ساڳي طرح ڪنهن خاص رخ ۾ موجود آهي. يقيناً الله

پنهنجي عبادت جي لاءِ رخ مقرر ڪيو آهي، پر اُهو عبادت جي تنظيمي ضرورت لاءِ آهي نہ وري ان ڪري جو الله ڪنهن خاص رخ ۾ ملي ٿو. اهڙيءَ طرح انسان تي قياس ڪندي انهن خدا جو پٽ فرض ڪري ورتو. جڏهن تہ الله اهڙي قسم جي شين کان بلند ۽ برتر آهي. جيڪي ماڻهو اهڙي هٽ ڌوڪيل دين کي الله جو دين ٻڌائين انهن جي لاءِ الله وٽ رسوائي ۽ عذاب کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي.

وَ قَالَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ لَوْ لَا يُكَلِّمُنَا اللّٰهُ اَوْ تَاْتِيْنَآ اٰيَةٌ ؕ كَذٰلِكَ قَالَ الَّذِيْنَ مِنْ
قَبْلِهِمْ مِّثْلَ قَوْلِهِمْ ؕ تَشَابَهَتْ قُلُوْبُهُمْ ؕ قَدْ بَيَّنَّا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿۱۱۸﴾ اِنَّآ
اَرْسَلْنٰكَ بِالْحَقِّ بَشِيْرًا وَّ نَذِيْرًا ۙ وَّ لَا تُسْـَٔلُ عَنْ اَصْحٰبِ الْجَحِيْمِ ﴿۱۱۹﴾ وَ لَنْ تَرْضٰى
عَنْكَ الْيَهُوْدُ وَلَا النَّصٰرٰى حَتّٰى تَتَّبِعَ مِلَّتَهُمْ ؕ قُلْ اِنَّ هُدَى اللّٰهِ هُوَ الْهُدٰى ؕ وَ لَئِنِ
اتَّبَعْتَ اَهْوَآءَهُمْ بَعْدَ الَّذِيْ جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ ۙ مَا لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّ لَا نَصِيْرٍ ﴿۱۲۰﴾ وقف منزل
اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَتْلُوْنَهٗ حَقَّ تِلَاوَتِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ ؕ وَ مَنْ يَّكْفُرْ بِهٖ
ع ۱۴ ۹ ۱۴ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۱۲۱﴾

۽ جيڪي ماڻهو علم نہ ٿا رکن، انهن چيو: الله ڇو نہ ٿو ڳالهائي اسان سان يا اسان وٽ ڪا نشاني ڇو نہ ٿي اچي، اهڙيءَ طرح انهن جي اڳين بہ انهن جهڙي ئي ڳالهہ ڪئي هئي، انهن سڀني جون دليون هڪ جهڙيون آهن، اسان پيش ڪري ڇڏيون آهن نشانيون انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي يقين ڪرڻ وارا آهن. اسان توکي حق ڏئي موڪليو آهي، خوشخبري ٻڌائڻ وارو ۽ ڊيڄارڻ وارو بڻائي ڪري ۽ توکان جهنم ۾ وڃڻ وارن جي بابت ڪا پڇا نہ ٿيندي. ۽ يهودي ۽ نصاريٰ هرگز توکان راضي نہ ٿيندا، جيستائين تون انهن جي طريقي جي پيروي ڪرڻ وارو نہ بڻجي وڃين. تون چؤ جيڪا راهہ الله ڏيکاري ٿو اِها ئي اصل راهہ آهي ۽ جيڪڏهن ان علم کان پوءِ جيڪو تو وٽ پهچي چڪو آهي تو انهن جي خواهشن جي پيروي ڪئي تہ الله جي مقابلي ۾ نہ تنهنجو ڪو دوست هوندو ۽ نہ ئي ڪو مددگار. جن ماڻهن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي، هو ان کي پڙهن ٿا جيئن ان جي پڙهڻ جو حق آهي. اِهي ئي ماڻهو ايمان آڻين ٿا ان تي ۽ جيڪو ان جو انڪار ڪري تہ اهي ئي خساري ۾ رهڻ وارا آهن. ۱۱۸-۱۲۱

---

الله جا اُهي ٻانها جيڪي الله جي طرفان اُن جي دين جو اعلان ڪرڻ لاءِ آيا، انهن کي هر زماني ۾ هڪڙي ئي قِسم جي ردعمل سان واسطو پيو. ”جيڪڏهن توهان الله جا نمائندا آهيو تہ توهان سان گڏ دنيا جا خزانا ڇو نہ آهن“. اهو شڪ انهن ماڻهن کي هوندو آهي جيڪي پنهنجي دنيا پرستيءَ واري مزاج جي ڪري مال جي وڏائيءَ کي حقيقي وڏائي سمجهن ٿا، ان ڪري هو الله جي نمائندگي ڪرڻ واري ۾ بہ اهڙي ئي وڏائي ڏسڻ چاهين ٿا. جڏهن داعي جي زندگي ۾ انهن کي اِهڙي قسم جي وڏائي ڏسڻ ۾ نہ ٿي آئي تہ اُهي ان جو انڪار ڪري ڇڏيندا هئا. انهن کي سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ هڪ ”معمولي شخص“ ڪيئن اهو شخص ٿي سگهي ٿو، جنهن کي زمين ۽ آسمان جي مالڪ پنهنجو پيغام پهچائڻ لاءِ چونڊيو آهي. الله جي انهن ٻانهن جي زندگي ۽ انهن جي ڪلام ۾ الله پنهنجن نشانين جي صورت ۾ شامل هوندو

آهي، ٻين لفظن ۾ معنوي وڏايون مڪمل طرح سان انهن سان گڏ هونديون آهن. پر اهڙي قسم جون شيون ماڻهن کي نظر نٿي آيون، ان ڪري اُهي انهن کي ”وڏو“ مڃڻ لاءِ تيار نہ هوندا هئا. دليل پنهنجي ڪامل شڪل ۾ هئڻ جي باوجود بہ انهن جي ذهن جو جز نہ ٿو بڻجي، ڇاڪاڻ تہ اهو انهن جي ذهني مزاج جي مطابق نہ هو.

يهودي ۽ نصارا قديم زماني ۾ آسماني مذهب جا نمائندا هئا، پر زوال جو شڪار ٿيڻ ڪان پوءِ دين انهن لاءِ هڪڙو گروهي طريقو بڻجي ويو هو. اُهي پنهنجي گروهہ سان وابستگي کي دين سمجهندا هئا ۽ گروهہ ڪان ڌار ٿيڻ کي بي ديني. سندن گروهہ ۾ شامل ٿيڻ يا نہ ٿيڻ ئي انهن وٽ حق ۽ ناحق جو معيار بڻجي ويو هو. دين جڏهن پنهنجي خالص صورت ۾ انهن جي آڏو آيو تہ انهن جي گروهي دينداري وارو مزاج اصل دين کي قبول نہ ڪري سگهيو. حقيقت اِها آهي تہ خالص دين کي اُهوئي اختيار ڪندو جنهن پنهنجي فطرت کي زندهہ رکيو آهي. جن ماڻهن جي فطرت واري روشني وسامي وئي هجي، انهن مان ڪنهن بہ قسم جي ڪا اميد نہ آهي. دين کي اهڙن ماڻهن لاءِ قابل قبول بڻائڻ جي واسطي دين کي بدلائي نہ ٿو سگهجي.

يٰبَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَاَنِّىْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَي الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٢٢﴾ وَ
اتَّقُوْا يَوْمًا لَّا تَجْزِىْ نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَيْـــًٔـا وَّلَا يُقْبَلُ مِنْهَا عَدْلٌ وَّلَا تَنْفَعُهَا
شَفَاعَةٌ وَّلَا ھُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿١٢٣﴾ وَاِذِ ابْتَلٰٓى اِبْرٰهٖمَ رَبُّهٗ بِكَلِمٰتٍ فَاَتَـمَّهُنَّ ۭ قَالَ اِنِّىْ جَاعِلُكَ
لِلنَّاسِ اِمَامًا ۭ قَالَ وَمِنْ ذُرِّيَّتِىْ ۭ قَالَ لَا يَنَالُ عَهْدِي الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٢٤﴾

اي بني اسرائيل! منهنجي ان احسان کي ياد ڪريو جيڪو مون توهان تي ڪيو ۽ ان ڳالهہ کي تہ مون توهان کي سڄي جهان وارن تي فضيلت ڏني. ۽ ان ڏينهن کان ڊڄو جنهن ڏينهن ڪو بہ شخص ٻئي شخص جي ڪجهہ بہ ڪم نہ ايندو ۽ نہ ڪنهن جي پاران ڪو فديو قبول ڪبو ۽ نہ ئي ڪنهن کي ڪا سفارش فائدو ڏيندي ۽ نہ ئي ڪتان بہ انهن کي ڪا مدد پهچندي.۽ جڏهن ابراهيم کي ان جي رب ڪيترين ئي ڳالهين ۾ آزمايو تہ هن انهن کي پورو ڪري ڏيکاريو. الله چيو آءٌ توکي سڀني ماڻهن جو اِمام بڻائيندس. ابراهيم چيو: ۽ منهنجي اولاد مان بہ. الله چيو: منهنجو عهد ظالمن تائين نہ پهچندو. ١٢٢-١٢٤

---

بني اسرائيل کي ان خاص ڪم جي لاءِ چونڊيو ويو هو تہ اُهي سڄي دنيا جي قومن کي الله ڏانهن سڏين ۽ انهن کي ان حقيقت کان آگاهہ ڪن تہ سندن مالڪ انهن جي عملن بابت ڪانئن سوال پڇڻ وارو آهي. ان ڪم جي رهنمائي لاءِ انهن ۾ لڳاتار پيغمبر ايندا رهيا. حضرت ابراهيمؑ، يعقوبؑ، يوسفؑ، موسيٰؑ، دائودؑ، سليمانؑ، زڪرياؑ، يحييٰؑ ۽ عيسيٰؑ وغيره. پر زمانو گذرڻ کان پوءِ جڏهن بني اسرائيل جو زوال آيو تہ انهن اُن منصبي فضيلت کي نسلي ۽ گروهي فضيلت سمجهي ورتو ۽ اهڙيءَ طرح هو پنهنجي اُن حق کي وڃائي ويٺا. اسماعيلي خاندان ۾ نبي عربيﷺ جو اچڻ اصل ۾ بني اسرائيل کي فضيلت واري مقام تان برطرفي ۽ ان جي جاءِ تي بني اسماعيل کي مقرر ڪرڻ جو اعلان هو. بني اسرائيل ۾

جيڪي ماڻهو حقيقت ۾ خدا پرست هئا، انهن کي اِهو سمجهڻ ۾ دير نہ لڳي تہ نبي عربيﷺ جيڪو ڪلام پيش ڪري رهيا آهن، اهو الله جي طرفان آيل ڪلام آهي. پر جيڪي ماڻهو گروهي تعصب کي دين بڻائي ويٺا هئا، انهن لاءِ پنهنجي گروهہ کان ٻاهر ڪنهن فضيلت جو اعتراف ڪرڻ ممڪن نہ ٿي سگهيو.

پيغمبر عربيﷺ جي ذريعي انهن کي خبردار ڪيو ويو تہ ياد رکو آخرت ۾ حقيقي ايمان ۽ سچي عمل کان سواءِ ڪنهن بہ شيءِ جي ڪا قيمت نہ آهي. دنيا ۾ هڪ شخص ٻئي شخص جو بار پنهنجي سر تي کڻي وٺندو آهي. ڪنهن معاملي ۾ ڪنهن جي سفارش ڪم اچي وڃي ٿي. ڪڏهن معاوضو ڏئي ڪري ماڻهو آزاد ٿي وڃي ٿو. ڪڏهن ڪو مدد گار ملي ٿو وڃي جيڪو پناهہ ڏيئي ماڻهوءَ کي بچائي ٿو وٺي. پر آخرت ۾ اهڙي قسم جي ڪا بہ شيءِ ڪنهن جي بہ ڪم اچڻ واري نہ آهي. آخرت ڪنهن گروهہ جي نسلي وراثت نہ آهي. اهو الله جي بي لاگ انصاف جو ڏينهن آهي.

حضرت ابراهيم عليه السلام کي فضيلت وارو جيڪو درجو مليو، ان جو فيصلو اُن وقت ڪيو ويو جڏهن هو سخت آزمائش ۾ الله جو سچو فرمانبردار ثابت ٿيو. الله جي اِها سنت اُن جي نسل لاءِ بہ آهي. جيڪو عمل ۾ پورو لهندو، اهو ئي ان وعده الٰهي ۾ شريڪ ٿيندو ۽ جيڪو عمل جي ساهميءَ ۾ پنهنجي پاڻ کي سچو ثابت نہ ڪري سگهيو، ان جو اهوئي انجام ٿيندو جيڪو اُن قسم جي ٻين مجرمن جي لاءِ الله وٽ مقدر آهي. حضرت ابراهيم عليه السلام کي وڏين ۽ سخت آزمائشن ڪان پوءِ امامت جو مقام ڏنو ويو. اُن مان خبر پوي ٿي تہ اِمامت ۽ قيادت جي رتبي جو حق قربانين سان ئي حاصل ٿئي ٿو. قربانين جي قيمت تي ڪنهن مقصد کي اختيارڪرڻ وارو ئي ان مقصد جي راهہ ۾ سيني ڪان اڳيان هوندو آهي. ان ڪري قدرتي طور تي اُهوئي ان جو قائد بڻجي ٿو.

وَ اِذۡ جَعَلۡنَا الۡبَیۡتَ مَثَابَۃً لِّلنَّاسِ وَ اَمۡنًا ؕ وَ اتَّخِذُوۡا مِنۡ مَّقَامِ اِبۡرٰہٖمَ مُصَلًّی ؕ وَ عَہِدۡنَاۤ اِلٰۤی اِبۡرٰہٖمَ وَ اِسۡمٰعِیۡلَ اَنۡ طَہِّرَا بَیۡتِیَ لِلطَّآئِفِیۡنَ وَ الۡعٰکِفِیۡنَ وَ الرُّکَّعِ السُّجُوۡدِ ﴿۱۲۵﴾ وَ اِذۡ قَالَ اِبۡرٰہٖمُ رَبِّ اجۡعَلۡ ہٰذَا بَلَدًا اٰمِنًا وَّ ارۡزُقۡ اَہۡلَہٗ مِنَ الثَّمَرٰتِ مَنۡ اٰمَنَ مِنۡہُمۡ بِاللّٰہِ وَ الۡیَوۡمِ الۡاٰخِرِ ؕ قَالَ وَ مَنۡ کَفَرَ فَاُمَتِّعُہٗ قَلِیۡلًا ثُمَّ اَضۡطَرُّہٗۤ اِلٰی عَذَابِ النَّارِ ؕ وَ بِئۡسَ الۡمَصِیۡرُ ﴿۱۲۶﴾

۽ جڏهن اسان ڪعبي کي ماڻهن لاءِ گڏ ٿيڻ جو مرڪز ۽ امن جو مقام قرار ڏنو ۽ حڪم ڏنو تہ مقام ابراهيم کي نماز پڙهڻ جي جاءِ بڻايو. ۽ ابراهيم ۽ اسماعيل کي تاڪيد ڪئي تہ منهنجي گهر کي طواف ڪرڻ وارن، اعتڪاف ڪرڻ وارن، ۽ رڪوع ۽ سجدا ڪرڻ وارن جي لاءِ پاڪ رکو. ۽ جڏهن ابراهيم چيو اي منهنجا رب! هِن شهر کي امن وارو شهر بڻاءِ ۽ ان جي رهواسين کي جيڪي الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکن، ميون جي روزي عطا فرما. الله چيو جيڪي انڪار ڪندا آءٌ انهن کي بہ ٿورا ڏينهن فائدو ڏيندس. پوءِ انهن کي باهہ جي عذاب ڏانهن بيوس ڪري موڪليندس ۽ اها وڏي بڇڙي جاءِ آهي. ۱۲۵-۱۲۶

---

سڄي دنيا جا اهل ايمان هر سال پنهنجو وطن ڇڏي بيت الله اچن ٿا. هِتي ڪنهن بہ ساهہ واري تي ڏاڍائي ڪرڻ ڪنهن جي لاءِ بہ جائز نہ آهي. حرم ڪعبہ کي هميشہ جي لاءِ عبادت جي جاءِ بڻايو ويو آهي.

ان مقام کي هر قسم جي ناپاڪيءَ کان پاڪ رکيو ويجي ٿو. ڪعبي جو طواف ڪيو ويجي ٿو. دنيا کان ڌار ٿي ڪري الله کي ياد ڪيو ويجي ٿو ۽ الله جي لاءِ رڪوع ۽ سجدا ڪيا وڃن ٿا. قديم زماني ۾ هي دنيا جو سڀني کان وڌيڪ خشڪ علائقو هو جتي وارياسي زمين ۽ جبلن جي ڪري ڪو فصل پيدا نہ ٿيندو هو. وڌيڪ اِهو تہ اهو انتهائي غير محفوظ علائقو هو. چار هزارِ سال اڳ حضرت ابراهيم عليه السلام کي حڪم ٿيو تہ پنهنجي خاندان کي انهيءَ علائقي ۾ وٺي وڃ ۽ ان کي اُتي آباد ڪر. حضرت ابراهيم عليه السلام حڪم ميڻ ۾ ذري برابر بہ دير نہ ڪئي ۽ جڏهن پنهنجي خاندان کي اهڙي مقام تي پهچايو جِتي نہ پاڻي هو نہ وڻ ٽڻ، اتي دعا ڪيائين تہ اي الله! مون تنهنجي حڪم جي تعميل ڪري ڇڏي. هاڻي تون پنهنجي ٻانهي جي پڪار ٻُڌ ۽ هن وسنديءَ کي امن و امان جي وسندي بڻائي ڇڏ ۽ هن خشڪ ڌرتيءَ تي هنن جي لاءِ خاص رزق جو انتظام فرما. دعا قبول ٿي ۽ ان جو ئي اهو نتيجو آهي تہ هي علائقو اڄ تائين امن ۽ رزق جي ڪثرت جو نمونو بڻيل آهي.

مؤمن کي دنيا ۾ اهڙيءَ طرح رهڻو آهي جو هو هر گهڙي ياد ڪندو رهي تہ اُن کي هر حال ۾ هڪ ڏينهن الله وٽ موٽي وڃڻو آهي. هو جن انسانن جي وچ ۾ رهي، انهن کي هن طرفان ڪا بہ تڪليف نہ پهچي. هو ڌرتي کي الله جي عبادت واري جاءِ سمجهي ۽ ان کي پنهنجن برائين کان پاڪ رکي. ان جي سڄي زندگي الله جي رضا مطابق گذرندي نظر اچي. هو بظاهر دنيا ۾ رهي پر اُن جي دل پنهنجي ربِ ۾ اٽڪيل هجي. هو مڪمل طور تي الله جي اڳيان جهڪي وڃي. پوءِ جڏهن دين ڪنهن شيءِ جي گُهر ڪري، چاهي اهو هڪ "رڻ پٽ ۾" پنهنجي گهر وارن کي ڇڏڻ جو حڪم ڇو نہ هجي، ٻانهو پوري وفاداري سان ان جي لاءِ راضي ٿي وڃي ۽ جڏهن حڪم جي تعميل پوري ڪري تہ الله کان مدد جي درخواست ڪري. عجب نہ آهي تہ الله پنهنجي ٻانهي لاءِ رڻ پٽ ۾ رزق جا چشما جاري ڪري ڇڏي.

دنيا جي رونق چاهي ڪنهن کي دين جي نالي تي ملي، ان ڳالھ جو ثبوت نہ آهي تہ الله هن کي اِمامت ۽ پيشوا ئي جي منصب لاءِ قبول ڪري ورتو آهي. دنيا جون شيون صرف آزمائش جي لاءِ آهن، جيڪي سڀني کي ملنديون آهن. جڏهن تہ اِمامت اِها آهي تہ ڪنهن ٻانهي کي قومن جي وچ ۾ الله جي نمائندگي جي لاءِ منتخب ڪيو وڃي.

وَ اِذۡ يَرۡفَعُ اِبۡرٰهٖمُ الۡقَوَاعِدَ مِنَ الۡبَيۡتِ وَ اِسۡمٰعِيۡلُ ؕ رَبَّنَا تَقَبَّلۡ مِنَّا ؕ اِنَّكَ اَنۡتَ
السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ ﴿۱۲۷﴾ رَبَّنَا وَ اجۡعَلۡنَا مُسۡلِمَيۡنِ لَكَ وَ مِنۡ ذُرِّيَّتِنَاۤ اُمَّةً مُّسۡلِمَةً لَّكَ ۪ وَ اَرِنَا
مَنَاسِكَنَا وَ تُبۡ عَلَيۡنَا ۚ اِنَّكَ اَنۡتَ التَّوَّابُ الرَّحِيۡمُ ﴿۱۲۸﴾ رَبَّنَا وَ ابۡعَثۡ فِيۡهِمۡ رَسُوۡلًا
مِّنۡهُمۡ يَتۡلُوۡا عَلَيۡهِمۡ اٰيٰتِكَ وَ يُعَلِّمُهُمُ الۡكِتٰبَ وَ الۡحِكۡمَةَ وَ يُزَكِّيۡهِمۡ ؕ اِنَّكَ اَنۡتَ
ع ۱۵ ۸ ۱۵ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ ﴿۱۲۹﴾

۽ جڏهن ابراهيم ۽ اسماعيل بيت الله جي بنياد کي بلند ڪري رهيا هئا ۽ التجا ڪري رهيا هئا تہ اي اسان جا رب! قبول فرماءِ اسان کان، يقينًا تون ئي ٻڌڻ وارو ۽ ڄاڻڻ وارو آهين. اي اسان جا رب! اسان کي پنهنجو

فرمانبردار بڻاءِ ۽ اسان جي نسل مان پنهنجي هڪ فرمانبردار امت اُٿار ۽ اسان کي اسان جي عبادت جا طور طريقا ٻڌاءِ ۽ اسان کي معاف فرماءِ. تون معاف ڪرڻ وارو ۽ رحم ڪرڻ وارو آهين. اي اسان جا رب! تون انهن ۾ انهن مان هڪ رسول موڪلجان جيڪو کين تنهنجون آيتون پڙهي ٻڌائي ۽ انهن کي ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏي ۽ انهن کي پاڪ ڪري. بيشڪ تون زبردست آهين ۽ حڪمت وارو آهين. ١٢٧-١٢٩

---

الله جو اهو فيصلو هو ته هو حجاز کي اسلام جي دعوت جو عالمي مرڪز بڻائي. اُن مرڪز جي قيام ۽ انتظام جي لاءِ حضرت ابراهيمؑ ۽ ان جي اولاد جي چونڊ ٿي. بيت الله جي تعمير جي وقت حضرت ابراهيمؑ ۽ حضرت اسماعيلؑ جي زبان مان جيڪي ڪلما نڪري رهيا هئا. اهي هڪ لحاظ کان دعا جا ڪلما هئا ۽ ٻئي لحاظ کان اِهو پنَ روحن جو پنهنجو پاڻ کي الله جي منصوبي جي حوالي ڪرڻ جو اعلان هو.

اهڙي دعا پاڻ مرادو الله جي گهربل دعا هوندي آهي. انهيءَ ڪري اِها دعا پوري طرح سان قبول ٿي. عرب جي خشڪ رڻ پٽ مان اسلام جو ابدي چشمو ڦٽي نڪتو. بني اسماعيل جون دليون الله تعاليٰ خاص طور تي پنهنجي دين جي خدمت لاءِ نرم ڪري ڇڏيون. انهن منجهان هڪ طاقتور اسلامي دعوت بلند ٿي. انهن جي ذريعي الله پنهنجن ٻانهن کي اُهي طريقا ٻڌايا جن سان هو خوش ٿيندو آهي ۽ پنهنجي رحمت سان اُنهن ڏانهن متوجه ٿيندو آهي. پوءِ اُنهن منجهان ئي اُهو آخري رسولﷺ ٿيو. جنهن تاريخ ۾ پهرين ڀيرو ائين ڪيو جو نبوت جي ڪم کي هڪ مڪمل تاريخي نموني جي صورت ۾ قائم ڪري ڇڏيو.

نبي جو پهريون ڪم آيتن جي تلاوت آهي. آيت جي معنيٰ نشاني آهي. يعني اها شيءِ جيڪا ڪنهن ٻي شيءِ تي دليل بڻجي. انسان جي فطرت ۾ ۽ ٻاهر جي دنيا ۾ الله تعاليٰ پنهنجي معرفت جون بيشمار نشانيون رکي ڇڏيون آهن. اُهي اشارن جي صورت ۾ آهن. پيغمبر انهن اشارن کي کولي ٿو. پوءِ هو ماڻهو کي اُها نظر ڏي ٿو جنهن سان هو هر شيءِ ۾ پنهنجي رب جو جلوو ڏسڻ لڳي ٿو. ڪتاب مان مراد قرآن آهي. نبيﷺ جو ٻيو ڪم اِهو آهي ته هو الله جي وحيءَ جي لهڻ جو هنڌ بڻجي ٿو ۽ ان کي الله کان وٺي انسانن تائين پهچائي ٿو. حڪمت جو مطلب آهي بصيرت. جڏهن ماڻهو خدا جي نشانين کي ڏسڻ واري نظر پيدا ڪري وٺي ٿو، جڏهن هو پنهنجي ذهن کي قرآن جي تعليم جي مطابق ڍاهي وٺي ٿو ته ان جي اندر هڪ فڪري روشني پيدا ٿيندي آهي. هو پنهنجي شعور کي حقيقت اعليٰ جي شعور سان هم آهنگ ڪري ٿو. هاڻي هو هر معاملي ۾ ان صحيح فيصلي تائين پهچي وڃي ٿو جيڪو الله تعاليٰ کي گهربل آهي. تزڪيه جو مطلب آهي ڪنهن شيءِ کي غير موافق شين کان پاڪ ڪري ڇڏڻ. ته جيئن اُها شيءِ موافق فضا ۾ پنهنجي فطري ڪمال کي پهچي سگهي. نبي جي آخري ڪوشش اِها هوندي آهي ته اهڙا انسان تيار ٿين جن جون دليون الله جي عقيدت کان سواءِ هر عقيدت کان خالي هجن. اهڙا روح وجود ۾ اچن جيڪي نفسياتي مونجهارن کان آزاد هجن. اهڙا ماڻهو پيدا ٿين جيڪي ڪائنات مان اهو رباني رزق حاصل ڪري سگهن. جيڪو الله پنهنجن مؤمن ٻانهن جي لاءِ رکي ڇڏيو آهي.

وَمَنْ يَّرْغَبُ عَنْ مِّلَّةِ اِبْرٰهٖمَ اِلَّا مَنْ سَفِهَ نَفْسَهٗ ۭ وَلَقَدِ اصْطَفَيْنٰهُ فِي الدُّنْيَا ۚ وَاِنَّهٗ
فِي الْاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٣٠﴾ اِذْ قَالَ لَهٗ رَبُّهٗٓ اَسْلِمْ ۙ قَالَ اَسْلَمْتُ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٣١﴾ وَ

وَصّٰى بِهَآ اِبْرٰهٖمُ بَنِيْهِ وَ يَعْقُوْبُ ؕ يٰبَنِىَّ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰى لَكُمُ الدِّيْنَ فَلَا تَمُوْتُنَّ اِلَّا وَ
اَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿١٣٢﴾ اَمْ كُنْتُمْ شُهَدَآءَ اِذْ حَضَرَ يَعْقُوْبَ الْمَوْتُ ۙ اِذْ قَالَ لِبَنِيْهِ مَا
تَعْبُدُوْنَ مِنْۢ بَعْدِىْ ؕ قَالُوْا نَعْبُدُ اِلٰهَكَ وَ اِلٰهَ اٰبَآئِكَ اِبْرٰهٖمَ وَ اِسْمٰعِيْلَ وَ اِسْحٰقَ
اِلٰهًا وَّاحِدًا ۚۖ وَّنَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ﴿١٣٣﴾ تِلْكَ اُمَّةٌ قَدْ خَلَتْ ۚ لَهَا مَا كَسَبَتْ وَ لَكُمْ مَّا
كَسَبْتُمْ ۚ وَ لَا تُسْـَٔلُوْنَ عَمَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٣٤﴾

۽ ڪير آهي جيڪو ابراهيم جي دين کي پسند نہ ڪري، سواءِ ان جي جنهن پنهنجي پاڻ کي بيوقوف بڻائي ورتو هجي. جڏهن تہ اسان ان کي دنيا ۾ چونڊي ورتو هو ۽ آخرت ۾ هو صالحين منجهان هوندو. جڏهن سندس رب چيو تہ پنهنجي پاڻ کي حوالي ڪر تہ ان چيو: مون پنهنجي پاڻ کي ربُّ العالمين جي حوالي ڪيو. ۽ اِها ئي نصيحت ڪئي ابراهيم پنهنجي اولاد کي ۽ اُها ئي نصيحت ڪئي يعقوب پنهنجي اولاد کي. اي منهنجا پُٽرؤ! الله توهان جي لاءِ انهيءَ دين کي چونڊيو آهي. سو اسلام کان سواءِ ڪنهن بي حالت تي توهان کي موت نہ اچي. ڇا توهان موجود هئا جڏهن يعقوب جي موت جو وقت آيو. جڏهن هُن پنهنجن پٽن کي چيو تہ مون کان پوءِ توهان ڪنهن جي عبادت ڪندو. انهن چيو: اسان انهيءَ الله جي عبادت ڪنداسين، جنهن جي عبادت توهان ۽ توهان جا بزرگ ابراهيم ، اسماعيل، اسحٰق ڪندا آيا آهن، اُهوئي هڪ معبود آهي ۽ اسان اُن جا فرمانبردار آهيون. اها هڪڙي جماعت هئي جيڪا گذري وئي. انهن کي اهو ملندو جيڪو انهن ڪمايو ۽ توهان کي اهو ملندو جيڪو توهان ڪمايو ۽ توهان کان انهن جي عمل جي پڇا نہ ٿيندي. ١٣٠-١٣٤

---

رسول اللهﷺ جي دعوت عين اُهائي دعوت هئي جيڪا حضرت ابراهيمؑ جي دعوت هئي. پر يهودي جيڪي حضرت ابراهيمؑ جا پوئلڳ هئڻ تي فخر ڪندا هئا، پاڻﷺ جي دعوت جا سيني ڪان وڏا مخالف بڻجي ويا. ان جو سبب اهو هو تہ پيغمبر عربيﷺ جنهن دين ابراهيمي ڏانهن ماڻهن کي سڏي رهيا هئا، اُهو ”اسلام“ هو، يعني الله جي لاءِ ڪامل سپردگي. قرآن جي مطابق اِهوئي حضرت ابراهيمؑ جو دين هو ۽ پنهنجي اولاد کي انهن ان جي ئي وصيت ڪئي. ان جي ابتڙ يهودين حضرت ابراهيمؑ ڏانهن جيڪو دين منسوب ڪري رکيو هو، ان ۾ سپردگي جو ڪو سوال نہ هو. ان ۾ آزاد زندگي گذاريندي رڳو معمولي گمانن تي جنت جي ضمانت ملي ويندي هئي. پيغمبر عربيﷺ جي آندل دين ۾ نجات جو دارومدار سراسر عمل تي هو، جڏهن تہ يهودين ”الله جي محبوب ٻانهن“ جي جماعت سان تعلق ۽ عقيدت کي نجات جي لاءِ ڪافي سمجهي ورتو هو. اول ذڪر ڪيل جماعت لاءِ دين آسماني هدايت جو نالو هو. ٻي ذڪر ڪيل جماعت جي لاءِ دين رڳو هڪ گروهي مجموعي جو نالو هو، جيڪو نسلي روايتن ۽ قومي تصورن جي ڪري هڪ خاص صورت اختيار ڪري ويو هو.

ماضي يا حال جي بزرگن سان خود کي منسوب ڪري اهو اطمينان حاصل ٿيندو آهي تہ اسان جو انجام بہ انهن سان گڏ ٿيندو. اسان جي عمل جي ڪمي انهن جي عمل جي گهٽائيءَ سان پوري ٿي ويندي. يهودي ان خوش فهميءَ کي ايستائين وڌائي ويا جو انهن ”وراثت ۾ نجات“ جو عقيدو ٺاهي ورتو. انهن پنهنجون سموريون اميدون پنهنجن بزرگن جي تقدس تي قائم ڪري ورتيون. پر اهو نفسياتي فريب ڪان

سواءِ ٻيو ڪجهه بہ نہ آهي. هر ڪنهن ماڻهو جي اڳيان اهوئي ايندو جيڪو هُن ڪيو. هڪڙي ڪان ٻئي جي ذوهن جي نہ پڇا ٿيندي ۽ نہ ئي هڪ کي ٻئي جي نيڪين مان ڪو حصو ملندو. هرڪو پنهنجي عمل مطابق الله وٽ بدلو حاصل ڪندو. ”توهان نہ مرجو پر اسلام تي“ يعني پنهنجي پاڻ کي الله جي حوالي ڪرڻ ۾ رڪاوٽون ايندیون. توهان جي خواهشن ۽ تمنائن جا محل ڪرندا. پوءِ بہ توهان آخري وقت تائين اسلام تي قائم رهجو.

وَ قَالُوْا كُوْنُوْا هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى تَهْتَدُوْا ؕ قُلْ بَلْ مِلَّةَ اِبْرٰهٖمَ حَنِيْفًا ؕ وَ مَا كَانَ مِنَ
الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۱۳۵﴾ قُوْلُوْۤا اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَ مَاۤ اُنْزِلَ اِلَيْنَا وَ مَاۤ اُنْزِلَ اِلٰۤى اِبْرٰهٖمَ وَ اِسْمٰعِيْلَ وَ
اِسْحٰقَ وَ يَعْقُوْبَ وَ الْاَسْبَاطِ وَ مَاۤ اُوْتِيَ مُوْسٰى وَ عِيْسٰى وَ مَاۤ اُوْتِيَ النَّبِيُّوْنَ مِنْ رَّبِّهِمْ ۚ
لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْهُمْ ۖؗ وَ نَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ﴿۱۳۶﴾ فَاِنْ اٰمَنُوْا بِمِثْلِ مَاۤ اٰمَنْتُمْ بِهٖ
فَقَدِ اهْتَدَوْا ۚ وَ اِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا هُمْ فِيْ شِقَاقٍ ۚ فَسَيَكْفِيْكَهُمُ اللّٰهُ ۚ وَ هُوَ السَّمِيْعُ
الْعَلِيْمُ ﴿۱۳۷﴾ؕ صِبْغَةَ اللّٰهِ ۚ وَ مَنْ اَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ صِبْغَةً ۫ وَّ نَحْنُ لَهٗ عٰبِدُوْنَ ﴿۱۳۸﴾ قُلْ
اَتُحَآجُّوْنَنَا فِي اللّٰهِ وَ هُوَ رَبُّنَا وَ رَبُّكُمْ ۚ وَلَنَاۤ اَعْمَالُنَا وَ لَكُمْ اَعْمَالُكُمْ ۚ وَ نَحْنُ لَهٗ
مُخْلِصُوْنَ ﴿۱۳۹﴾ۙ اَمْ تَقُوْلُوْنَ اِنَّ اِبْرٰهٖمَ وَ اِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ وَ يَعْقُوْبَ وَ الْاَسْبَاطَ كَانُوْا
هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى ؕ قُلْ ءَاَنْتُمْ اَعْلَمُ اَمِ اللّٰهُ ؕ وَ مَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَتَمَ شَهَادَةً عِنْدَهٗ مِنَ
اللّٰهِ ؕ وَ مَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۴۰﴾ تِلْكَ اُمَّةٌ قَدْ خَلَتْ ۚ لَهَا مَا كَسَبَتْ وَ لَكُمْ مَّا
ع ۱۶ ۱۲ ۱۶ كَسَبْتُمْ ۚ وَ لَا تُسْـَٔلُوْنَ عَمَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۴۱﴾ ع

۽ چون ٿا يهودي يا نصراني ٿي وڃو تہ هدايت پائيندو. چئو تہ نہ. پر اسان تہ پيروي ڪيون ٿا ابراهيم جي دين جي جيڪو هڪ طرفو الله جو ٿيانهو هو ۽ هو شرڪ ڪرڻ وارن مان نہ هو. چئو اسان الله تي ايمان آندو ۽ ان شيءِ تي ايمان آندو جيڪا اسان ڏانهن نازل ڪئي وئي آهي ۽ اُن تي بہ جيڪو ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحٰق ۽ يعقوب ۽ ان جي اولاد تي لاٿو ويو ۽ جيڪو مليو موسيٰ ۽ عيسيٰ کي ۽ جيڪو مليو سڀني نبين کي انهن جي رب جي طرفان. اسان انهن مان ڪنهن ۾ ڪو بہ فرق نہ ٿا ڪريون ۽ اسان الله جا ئي فرمانبردار آهيون. پوءِ جيڪڏهن هو ايمان آڻين جيئن اوهان ايمان آندو آهي تہ بيشڪ هو هدايت وارا ٿي ويا ۽ جيڪڏهن هو ڦري وڃن تہ هاڻي هو ضد تي آهن. بس تنهنجي طرفان الله انهن لاءِ ڪافي آهي ۽ هو ٻڌڻ وارو ۽ ڄاڻڻ وارو آهي. چئو اسان ورتو الله جو رنگ ۽ الله جي رنگ ڪان ڪنهن جو رنگ ڀلو آهي۽ اسان اُن جي ئي عبادت ڪرڻ وارا آهيون. چئو ڇا توهان الله جي باري ۾ اسان سان جهڳڙو ڪريو ٿا. حالانڪ هو اسان جو رب بہ آهي ۽ توهان جو رب بہ. اسان جي لاءِ اسان جا عمل آهن ۽ توهان جي لاءِ توهان جا عمل آهن ۽ اسان خالص الله جي لاءِ آهيون. ڇا توهان چئو ٿا تہ ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحٰق ۽ يعقوب ۽ انهن جو اولاد سڀ يهودي يا نصراني هئا. چئو توهان وڌيڪ ڄاڻو ٿا يا الله ۽ ان ڪان وڌو ظالم ٻيو ڪير ٿيندو جيڪو ان شاهديءَ کي لڪائي جيڪا الله جي طرفان ان وٽ آئي هجي. ۽ جيڪي ڪجهه توهان ڪريو ٿا الله ان ڪان بيخبر نہ آهي. اِها هڪ جماعت هئي

جيڪا گذري وئي، انهن کي ملندو جيڪو انهن ڪمايو ۽ توهان کي ملندو جيڪو توهان ڪمايو ۽ توهان
کان انهن بابت پڇا نہ ٿيندي. ١٣٥-١٤١

---

رسول اللهﷺ جنهن دين ڏانهن سڏيندا هئا، اهو اُهوئي ابراهيمي دين هو جنهن سان يهودي ۽ نصارا پنهنجي پاڻ کي منسوب ڪيو ويٺا هئا. پوءِ هو پاڻﷺ جا مخالف ڇو ٿي ويا.سبب اهو هو تہ پيغمبر عربيﷺ جي دعوت جي مطابق دين اِهو هو تہ ماڻهو پنهنجي زندگي کي الله جي رنگ ۾ رنگي ڇڏي، هو هڪ پاسي ٿي ڪري الله وارو بڻجي وڃي. ان جي ابتڙ يهودين وٽ دين رڳو هڪ قومي فخر جي نشان طور باقي رهجي ويو هو. پيغمبر عربي جي دعوت سان انهن جي فخر واري نفسيات تي چوٽ لڳندي هئي، انهي ڪري هو پاڻﷺ جا دشمن بڻجي ويا.

جيڪي ماڻهو گروهي فضيلت جي نفسيات ۾ مبتلا هجن، اُهي پاڻ کان ٻاهر ڪنهن صداقت کي مڃڻ جي لاءِ تيار نہ هوندا آهن. اُهي پنهنجي گروهہ جي پيغمبرن کي تہ مڃين ٿا، پر اُن ئي خدا جو هڪ پيغمبر انهن جي گروهہ کان ٻاهران اچي تہ هو اُن جو انڪار ڪري ڇڏيندا آهن. دين جي نالي تي هو جنهن شيءِ کان واقف آهن، اُها صرف گروهہ پرستي آهي. ان ڪري اُهي شخصيتون ئي انهن کي شخصيتون نظر اينديون آهن جيڪي انهن جي پنهنجي گروهہ سان تعلق رکن ٿيون. پر جنهن شخص جي لاءِ دين خدا پرستي جو نالو هجي، هو خدا جي طرفان اچڻ واري هر آواز کي سڃاڻي وٺندو آهي ۽ ان تي لبيڪ چوندو آهي. يهودين جي عالمن لاءِ اهو سمجهڻ مشڪل نہ هو تہ پيغمبر عربيﷺ الله جا آخري رسول آهن ۽ سندس دعوت سچي خدا پرستي جي دعوت آهي. پر پنهنجي وڏائي کي قائم رکڻ لاءِ انهن ماڻهن جي اڳيان هڪ اهڙي حقيقت جو اعلان نہ ڪيو، جنهن جو اعلان ڪرڻ انهن جي مٿان الله جي طرفان فرض ڪيو ويو هو.

”گذري ويل ماڻهن کي انهن جي ڪمائي جو بدلو ملندو ۽ پوءِ ايندڙ ماڻهن کي انهن جي ڪمائي جو“. ان جو مطلب هي آهي تہ حق جي معاملي ۾ وراثت نہ آهي. يهودي انهي غلط فهمي ۾ مبتلا هئا تہ انهن جي اڳين بزرگن جي نيڪين جو ثواب انهن کان پوءِ اچڻ وارن ماڻهن کي بہ پهچندو آهي. اهڙيءَ طرح عيسائين بہ سمجهي ورتو تہ اڳين نسل جا گناهہ نئين نسل کي وراثت ۾ منتقل ٿيندا آهن. پر اهڙا عقيدا بلڪل بي بنياد آهن. الله وٽ هر ماڻهوءَ کي جيڪو ڪجهہ ملندو اهو پنهنجي ذاتي عمل جي بنياد تي ملندو نہ وري ڪنهن ٻي شخص جي عمل جي بنياد تي.

”جيڪڏهن هو اهڙيءَ طرح ايمان آڻين جهڙي طرح اوهان ايمان آندو آهي تہ اهي هدايت وارا ٿيا“. جيئن اصحاب ڪرامؓ پنهنجي زماني ۾ جنهن ڍنگ تي ايمان آندو هو، اهوئي الله وٽ اصل ۾ معتبر ايمان آهي. اصحاب ڪرامؓ جي زماني ۾ صورتحال اِها هئي تہ هڪ پاسي قديم انبياء هئا جن جي حيثيت تاريخي طور تي ثابت ٿي چڪي هئي ۽ ٻئي پاسي حضرت محمدﷺ هو جيڪو اڃا پنهنجي تاريخ جي شروعات ۾ هو. پاڻﷺ سان اڃا تائين تاريخي عظمتون گڏ نہ ٿيون هيون، ان جي باوجود صحابه ڪرام پاڻ سڳورن کي سڃاتو ۽ انهن تي ايمان آندو. جيئن تہ الله وٽ حق جو اُهو اعتراف معتبر آهي، جڏهن ماڻهو حق کي مجرد سطح تي ڏسي ڪري مڃي. حق جڏهن قومي وراثت بڻجي وڃي يا تاريخي عمل جي نتيجي ۾ ان سان گڏ عظمت جا مينار قائم ٿي چڪا هجن تہ حق کي مڃڻ، حق کي مڃڻ نہ هوندو آهي، پر هڪ اهڙي شيءِ کي مڃڻ هوندو آهي جيڪا قومي فخر ۽ تاريخ جي تقاضا بڻجي چڪي هجي.

(الْجُزْءُ الثَّانِيْ ٢) سَيَقُوْلُ السُّفَهَآءُ مِنَ النَّاسِ مَا وَلّٰىهُمْ عَنْ قِبْلَتِهِمُ الَّتِيْ كَانُوْا عَلَيْهَا ؕ قُلْ لِّلّٰهِ
الْمَشْرِقُ وَ الْمَغْرِبُ ؕ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿١٤٢﴾ وَ كَذٰلِكَ جَعَلْنٰكُمْ
اُمَّةً وَّسَطًا لِّتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى النَّاسِ وَ يَكُوْنَ الرَّسُوْلُ عَلَيْكُمْ شَهِيْدًا ؕ وَ مَا
جَعَلْنَا الْقِبْلَةَ الَّتِيْ كُنْتَ عَلَيْهَآ اِلَّا لِنَعْلَمَ مَنْ يَّتَّبِعُ الرَّسُوْلَ مِمَّنْ يَّنْقَلِبُ عَلٰى
عَقِبَيْهِ ؕ وَ اِنْ كَانَتْ لَكَبِيْرَةً اِلَّا عَلَى الَّذِيْنَ هَدَى اللّٰهُ ؕ وَ مَا كَانَ اللّٰهُ لِيُضِيْعَ
اِيْمَانَكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِالنَّاسِ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٤٣﴾

هاڻي بيوقوف ماڻهو چوندا تہ مسلمانن کي ڪهڙي شيءِ انهن جي قبلي کان ڦيري ڇڏيو. چئو مشرق ۽ مغرب الله جا ئي آهن. هو جنهن کي چاهي ٿو سڌو رستو ڏيکاري ٿو ۽ اهڙيءَ طرح اسان توهان کي وچ واري اُمت بڻائي ڇڏيو تہ جيئن توهان شاهد هجو ماڻهن تي ۽ رسول شاهد هجي توهان تي ۽ جنهن قبلي تي تون هئين، اسان ان کي رڳو ان ڪري مقرر ڪيو هو تہ اسان ڄاڻي وٺون تہ ڪير رسول جي پيروي ڪري ٿو ۽ ڪير ان کان پنهنجن ڪڙين پير ڦري وڃي ٿو ۽ بيشڪ اِها ڳالهہ ڳري آهي، سواءِ انهن ماڻهن جي لاءِ جن کي الله هدايت ڏني آهي ۽ الله اهڙو نہ آهي جو توهان جي ايمان کي ضايع ڪري ڇڏي. بيشڪ الله ماڻهن سان شفقت ڪرڻ وارو مهربان آهي. ١٤٢-١٤٣

قبلي جو تعلق عبادت جي ظاهر سان آهي، نہ وري عبادت جي حقيقت سان. قبلي جو اصل مقصد عبادت جي تنظيم ۽ ترتيب لاءِ هڪ رخ مقرر ڪرڻ آهي. سڀ رخ الله جا ئي آهن. هو پنهنجن ٻانهن لاءِ جيڪو بہ رخ مقرر ڪري ڇڏي، اُهوئي الله جي پسند جو عبادتي رخ ٿيندو، چاهي اُهو مشرق ڏانهن هجي يا مغرب ڏانهن. پر وڏي عرصي تائين بيت المقدس ڏانهن رخ ڪري عبادت ڪرڻ جي ڪري قبله اول کي تقدس حاصل ٿي ويو هو. جڏهن سنہ ٢ هہ ۾ قبلي جي تبديليءَ جو اعلان ٿيو تہ گهڻن ماڻهن جي لاءِ پنهنجي ذهن کي ان مطابق بڻائڻ مشڪل ٿي پيو. يهودين ان ڳالهہ کي بهانو بڻائي پاڻ ﷺ جي خلاف طرح طرح جون ڳالهيون ڦهلائڻ شروع ڪيون. بيت المقدس سدائين کان نبين جو قبلو رهيو آهي. پوءِ ان جي مخالفت ڇو؟ ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هي سڀ تحريڪ يهودين جي ضد ۾ هلائي پئي وڃي. ڪنهن چيو تہ هي رسالت جي دعويٰ ڪرڻ وارو پاڻ پنهنجي مشن جي باري ۾ حيران ۽ شڪ ۾ آهي، ڪڏهن ڪعبي ڏانهن رخ ڪري عبادت ڪرڻ جي لاءِ چوي ٿو ۽ ڪڏهن وري بيت المقدس ڏانهن. ڪنهن چيو تہ: جيڪڏهن ڪعبو ئي اصل قبلو آهي تہ ان جو مطلب اِهو ٿيو تہ ان کان اڳ جيڪي بہ مسلمان بيت المقدس ڏانهن رخ ڪري نماز پڙهندا رهيا، انهن جون نمازون بيڪار ويون وغيره. پر جيڪي سچا الله پرست هئا ۽ ظاهر ۾ اٽڪيل نہ هُئا، انهن کي اهو سمجهڻ ۾ دير نہ لڳي تہ اصل شيءِ قبلي ڏانهن رخ ڪرڻ نہ، پر اصل شيءِ الله جو حڪم آهي. الله جي طرفان جنهن وقت جيڪو بہ حڪم اچي وڃي، اُهو ئي ان وقت جو قبلو ٿيندو. روايتن ۾ اچي ٿو تہ هجرت جي تقريبًا ١٧ مهينن کان پوءِ جڏهن قبلي جي تبديلي جو حڪم آيو تہ رسول الله ﷺ پنهنجن اصحابن جي هڪڙي جماعت سان گڏ مديني ۾ نماز ادا ڪري رهيا هئا. حڪم معلوم ٿيندي ئي پاڻ ﷺ ۽ مسلمانن نماز جي حالت ۾ ئي پنهنجو رخ بيت المقدس

كان ڪعبي ڏانهن ڪري ورتو. يعني اتر کان ڏکڻ طرف.

قبلي جي تبديلي هڪ علامت هئي، جنهن جو مطلب اِهو هو تہ الله تعاليٰ بني اسرائيل کي امامت کان معزول ڪري اُمتِ محمدي کي ان جي جاءِ تي مقرر ڪيو آهي. هاڻي قيامت تائين بيت المقدس جي بجاءِ ڪعبو ئي اَلله جي دين جي دعوت ۽ الله پرستن جي گڏيل اتحاد جو عالمي مرڪز هوندو. ”وسط“ جي معنيٰ وچ آهي. ان جو مطلب هي آهي تہ مسلمان الله جي پيغام کي اُن جي ٻانهن تائين پهچائڻ جي لاءِ وچ وارو وسيلو آهن. الله جو پيغام رسولﷺ جي ذريعي انهن وٽ پهتو آهي. هاڻي انهن کي اهو پيغام قيامت تائين سيني قومن کي پهچائڻو آهي، انهي ڪم تي دنيا ۾ بہ انهن جي مستقبل جو دارومدار آهي ۽ انهيءَ ڪم تي آخرت جو بہ.

قَدْ نَرٰى تَقَلُّبَ وَجْهِكَ فِي السَّمَآءِ ۚ فَلَنُوَلِّيَنَّكَ قِبْلَةً تَرْضٰىهَا ۪ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ
الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ وَ حَيْثُ مَا كُنْتُمْ فَوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ شَطْرَهٗ ؕ وَ اِنَّ الَّذِيْنَ اُوْتُوا
الْكِتٰبَ لَيَعْلَمُوْنَ اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ؕ وَ مَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٤﴾ وَ لَئِنْ اَتَيْتَ
الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ بِكُلِّ اٰيَةٍ مَّا تَبِعُوْا قِبْلَتَكَ ۚ وَ مَاۤ اَنْتَ بِتَابِعٍ قِبْلَتَهُمْ ۚ وَ مَا
بَعْضُهُمْ بِتَابِعٍ قِبْلَةَ بَعْضٍ ؕ وَ لَئِنِ اتَّبَعْتَ اَهْوَآءَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ ۙ
وقف لازم اِنَّكَ اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٤٥﴾ اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْرِفُوْنَهٗ كَمَا يَعْرِفُوْنَ اَبْنَآءَهُمْ ؕ
وقف منزل وَ اِنَّ فَرِيْقًا مِّنْهُمْ لَيَكْتُمُوْنَ الْحَقَّ وَ هُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿١٤٦﴾ اَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ
ع ١٧ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿١٤٧﴾

اسان تنهنجي چهري جو هرهر آسمان ڏانهن کڄڻ ڏسي رهيا آهيون. پوءِ اسان توکي انهيءَ قبلي ڏانهن ڦيري ڇڏينداسون جنهن کي تون پسند ڪرين ٿو. هاڻي پنهنجو رخ مسجد حرام ڏانهن ڦيري ڇڏ ۽ توهان جتي بہ هجو، پنهنجي رخ کي ان جي طرف ڪريو. ۽ اهل ڪتاب چڱي طرح ڄاڻين ٿا تہ اهوئي حق آهي ۽ انهن جي رب جي طرفان ۽ الله بيخبر نہ آهي ان کان جيڪي هو ڪري رهيا آهن. ۽ جيڪڏهن تون اهل ڪتاب جي سامهون سڀ دليل پيش ڪري ڇڏين، تڏهن بہ اُهي تنهنجي قبلي کي نہ مڃيندا ۽ نہ وري تون انهن جي قبلي جي پيروي ڪري سگهين ٿو. ۽ نہ وري اهي هڪٻئي جي قبلي کي مڃڻ وارا آهن ۽ ان علم کان پوءِ جيڪو تو وٽ اچي چڪو آهي، جيڪڏهن تون انهن جي خواهشن جي پيروي ڪندين تہ يقيناً تون ظالمن مان ٿي ويندين. جن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي هو ان کي اهڙيءَ طرح سڃاڻين ٿا جهڙي طرح پنهنجن پٽن کي سڃاڻين ٿا ۽ اُنهن مان هڪ گروهه حق کي لڪائي رهيو آهي، جڏهن تہ هو ان کي ڄاڻي ٿو. حق اُهو آهي جيڪو تنهنجو رب چئي. تنهنڪري تون ڪڏهن بہ شڪ ڪرڻ وارن مان نہ ٿجانءِ. ١٤٤-١٤٧

---

رسول اللهﷺ جي سنت اِها هئي تہ جن معاملن ۾ اجا وحي نہ آئي هئي، انهن ۾ پاڻﷺ اڳين نبين جي طريقي جي پيروي ڪندا هئا. ان ڪري پاڻﷺ شروع ۾ بيت المقدس کي قبلو بڻائي ورتو هو.

جيڪو حضرت سليمانؑ جي زماني ڪان بني اسرائيل جي پيغمبرن جو قبلو رهيو هو. يهودين ڪي جڏهن الله تعاليٰ دين جي امامت ۾ اڳواٽي ڪان معزول ڪيو تہ ان ڪان پوءِ اِهو بہ ضروري ٿي ويو تہ دين کي يهودين جي روايتن کان ڌار ڪيو وڃي، تہ جيئن الله جو دين هر لحاظ کان پنهنجي خالص شڪل ۾ ظاهر ٿي سگهي. انهيءَ مصلحت جي ڪري رسول اللهﷺ کي قبلي جي تبديلي جي حڪم جو انتظار رهندو هو. ان ڪري هجرت جي ٻئي سال اِهو حڪم اچي ويو. يهودين جا نبي جيڪي يهودين کي خبردار ڪرڻ لاءِ آيا، اهي اڳ ۾ ئي الله جي ان فيصلي بابت يهودين کي ٻڌائي چڪا هئا ۽ انهن جا عالم انهي معاملي کي چڱي طرح ڄاڻندا هئا. انهن عالمن مان رڳو ڪجھ ماڻهو (جيئن عبدالله بن سلام ۽ مخيريقؓ) اِهڙا نڪتا جن پاڻﷺ جي تصديق ڪئي ۽ انهي ڳالھ جو اقرار ڪيو تہ پاڻﷺ جي ذريعي الله تعاليٰ پنهنجي سچي دين جو اظهار فرمايو آهي. يهودين جي نہ مڃڻ جو سبب رڳو انهن جي خواهش پرستي هئي. اهي جن گروهي خوش خيالين ۾ زندگي گذاري رهيا هئا تن مان انهن نڪرڻ نہ پئي چاهيو ۽ جيڪو انڪار رڳو خواهش پرستي جي ڪري پيدا ٿئي، ان کي ٽوڙڻ ۾ ڪڏهن بہ ڪو دليل ڪامياب نہ ٿو ٿئي. اهڙو ماڻهو دليلن جي انڪار سان پنهنجي لاءِ اُهو رزق حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو جيڪو ان جي خالق صرف دليل جي اعتراف ۾ رکيو آهي.

الله جي طرفان جڏهن ڪنهن امر حق جو اعلان ٿيندو آهي تہ اهو اهڙن حتمي دليلن سان گڏ ٿيندو آهي جو الله جو ڪو بہ ٻانهو ان جي صداقت کي سڃاڻڻ کان عاجز نہ ٿو رهي سگهي. اهڙي حالت ۾ جيڪي ماڻهو شڪ ۾ پون، اهي رڳو اِهو ثابت ڪري رهيا آهن تہ اُهي الله کي نہ ٿا سڃاڻين، ان ڪري اهي الله جي ڪلام کي سڃاڻي نہ سگهيا. اِهڙيءَ طرح اُهي ماڻهو جيڪي حق جي خلاف ڪجھ لفظ ڳالهائي سمجهن ٿا تہ انهن حق جو اعتراف نہ ڪرڻ جي لاءِ مضبوط دليلن جو سهارو ڳولي ورتو آهي تہ تمام جلد انهن کي معلوم ٿي ويندو تہ اُهي رڳو فرضي سهارا هئا، جيڪي سندن نفسن پنهنجي ڪوڙي تسڪين جي لاءِ گهڙي ورتا هئا.

وَلِكُلٍّ وِّجْهَةٌ هُوَ مُوَلِّيْهَا فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرٰتِ ۗ اَيْنَ مَا تَكُوْنُوْا يَاْتِ بِكُمُ اللّٰهُ جَمِيْعًا ۗ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٤٨﴾ وَ مِنْ حَيْثُ خَرَجْتَ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۗ وَاِنَّهٗ لَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ ۗ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٩﴾ وَمِنْ حَيْثُ خَرَجْتَ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۗ وَحَيْثُ مَا كُنْتُمْ فَوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ شَطْرَهٗ ۙ لِئَلَّا يَكُوْنَ لِلنَّاسِ عَلَيْكُمْ حُجَّةٌ ۙ اِلَّا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْهُمْ ۚ فَلَا تَخْشَوْهُمْ وَ اخْشَوْنِيْ ۚ وَ لِاُتِمَّ نِعْمَتِيْ عَلَيْكُمْ وَ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١٥٠﴾ كَمَآ اَرْسَلْنَا فِيْكُمْ رَسُوْلًا مِّنْكُمْ يَتْلُوْا عَلَيْكُمْ اٰيٰتِنَا وَ يُزَكِّيْكُمْ وَ يُعَلِّمُكُمُ الْكِتٰبَ وَ الْحِكْمَةَ وَ يُعَلِّمُكُمْ مَّا لَمْ تَكُوْنُوْا تَعْلَمُوْنَ ﴿١٥١﴾ فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ وَ اشْكُرُوْا لِيْ وَلَا تَكْفُرُوْنِ ﴿١٥٢﴾

هر ڪنهن جي لاءِ هڪڙو رخ آهي، جنهن ڏانهن هو مُنهن ڪري ٿو. بس توهان چڱاين ڏانهن ڊوڙو. توهان جتي بہ هوندؤ الله توهان سڀني کي آڻي گڏ ڪندو. بيشڪ الله سڀ ڪجھ ڪري سگهي ٿو ۽ توهان جتان بہ نڪرين پنهنجو رخ مسجد حرام ڏانهن ڪر. بيشڪ اِهو حق آهي تنهنجي رب جي طرفان ۽ جيڪي ڪجھ توهان ڪريو ٿا الله اُن کان بيخبر نہ آهي. ۽ تون جتان بہ نڪرين پنهنجو رخ مسجد حرام ڏانهن ڪر ۽ توهان جتي بہ هجو پنهنجو رخ ان ئي طرف ڪريو تہ جيئن ماڻهن وٽ اوهان جي مٿان ڪا حجت باقي نہ رهي، سواءِ انهن ماڻهن جي جيڪي انهن مان بي انصاف آهن. تنهنڪري اوهان اُنهن کان نہ ڊڄو ۽ مون کان ڊڄو، تہ جيئن آءٌ پنهنجي نعمت اوهان تي پوري ڪريان ۽ جيئن اوهان کي راھ ملي وڃي. جهڙي طرح اسان توهان مان ئي هڪ رسول اوهان ڏانهن موڪليو جيڪو اوهان کي اسان جون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو ۽ اوهان کي پاڪ ڪري ٿو ۽ اوهان کي ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏي ٿو ۽ اوهان کي اُهو ڪجھ سيکاري رهيو آهي جيڪو اوهين نہ ڄاڻندا هئا. تنهن ڪري توهان مون کي ياد رکو، آءٌ اوهان کي ياد ڪندس. ۽ منهنجو احسان مڃو، منهنجي ناشڪري نہ ڪريو. ١٤٨-١٥٢

---

ڪعبي کي قبلو مقرر ڪيو ويو تہ يهودين ۽ عيسائين اِهڙي قسم جا بحث ڇيڙي ڇڏيا تہ مغرب خدا جو رخ آهي يا مشرق. هو ان مسئلي کي فقط رخ بندي واري مسئلي جي حيثيت سان ڏسي رهيا هئا. پر اها سندن ناسمجهي هئي. ڪعبي کي قبلو مقرر ڪرڻ جو معاملو سادي طور هڪ عبادتي رخ مقرر ڪرڻ جو معاملو نہ هو. بلڪ اِها هڪڙي علامت هئي تہ الله جي ٻانهن لاءِ ان وڏي خبر لهڻ جو وقت اچي ويو آهي جنهن جو فيصلو گهڻو اڳ ٿي چڪو هو. اِهو ابراهيم عليه السلام ۽ اسماعيل عليه السلام جي دعا جي مطابق نبي آخر الزمان ﷺ جو ظهور آهي. هاڻي اهو اچڻ وارو اچي ويو آهي جيڪو انسانن جي مٿان الله جي ابدي هدايت جو در کولي ۽ ان جي هدايت واري نعمت کي آخري حد تائين ڪامل ڪري ڇڏي. جيڪو دين الله جي طرفان بار بار موڪليو ويو، پر انسانن جي غفلت ۽ سرڪشي جي ڪري ضايع ٿيندو رهيو، ان دين کي ان جي پوري صورت ۾ هميشہ جي لاءِ محفوظ ڪري ڇڏي. الله جو دين جيڪو اجا تائين رڳو رواجي افسانو بڻيل هو، ان کي هڪ حقيقي واقعي جي حيثيت سان انساني تاريخ ۾ شامل ڪري ڇڏي. اُهو دين جنهن جو ڪو مستقل نمونو قائم ٿي نہ سگهيو هو، ان کي هڪ زندھ عملي نموني جي حيثيت ۾ ماڻهن جي اڳيان رکي ڇڏي. اِهو هدايت اِلٰهي جي تڪميل جو معاملو آهي نہ وري مختلف رخن مان هڪ گهڻو ”مقدس رخ“ مقرر ڪرڻ جو.

ڪعبي جي تعمير جي وقت ئي طي ٿي چڪو هو تہ آخري رسول ﷺ جي ذريعي جنهن دين جو ظهور ٿيندو ان جو مرڪز ڪعبو هوندو. گذريل نبي ماڻهن کي لاڳيتو ان جي خبر ڏيندا آيا. اهڙيءَ طرح الله جي طرفان ڪعبي کي سڀني قومن لاءِ قبلو مقرر ڪرڻ ڄڻ تہ نبي آخر الزمان ﷺ جي حيثيت کي ثابت شده بڻائڻ هو. هاڻي جيڪي سنجيده ماڻهو آهن، انهن لاءِ الله جو اِهو اعلان آخري حجت آهي ۽ جيڪي ماڻهو آخرت کان بي خوف آهن، انهن جي زبان کي ڪابہ شيءِ روڪڻ واري ثابت نٿي ٿي سگهي. جيڪي الله کان ڊڄڻ وارا آهن، اهي ئي هدايت جو رستو لهندا آهن. الله کي ياد رکڻ ئي ڪنهن کي ان جو مستحق بڻائي ٿو تہ الله هُن کي ياد رکي. الله کان خوف رکڻ ئي انهي ڳالھ جي ضمانت آهي تہ الله هُن کي پِين سڀني شين کان بي خوف ڪري ڇڏي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَ الصَّلٰوةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿١٥٣﴾ وَ لَا تَقُوْلُوْا

لِمَنْ يُّقْتَلُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتٌؕ بَلْ اَحْيَآءٌ وَّ لٰكِنْ لَّا تَشْعُرُوْنَ﴿۱۵۴﴾ وَ لَنَبْلُوَنَّكُمْ
بِشَیْءٍ مِّنَ الْخَوْفِ وَ الْجُوْعِ وَ نَقْصٍ مِّنَ الْاَمْوَالِ وَ الْاَنْفُسِ وَ الثَّمَرٰتِؕ وَ بَشِّرِ
الصّٰبِرِيْنَ﴿۱۵۵﴾ الَّذِيْنَ اِذَاۤ اَصَابَتْهُمْ مُّصِيْبَةٌ ۙ قَالُوْۤا اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّاۤ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ﴿۱۵۶﴾ اُولٰٓئِكَ
عَلَيْهِمْ صَلَوٰتٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَ رَحْمَةٌ ۫ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُهْتَدُوْنَ﴿۱۵۷﴾

اي ايمان وارؤ! صبر ۽ نماز سان مدد حاصل ڪريو. يقينًا الله صبر ڪرڻ وارن سان گڏ آهي ۽ جيڪي ماڻهو الله جي راهه ۾ ماريا وڃن، انهن کي مرده نه چئو. بلڪ اُهي زنده آهن، پر توهان کي خبر نه آهي. ۽ اسان ضرور توهان کي آزمائينداسون، ڪجهه خوف ۽ بک سان ۽ مال ۽ جان ۽ ميون جي نقصانن سان ۽ ثابت قدم رهڻ وارن کي خوشخبري ڏئي ڇڏ. جن جو حال اِهو آهي ته جڏهن به انهن کي ڪا مصيبت پهچي ٿي ته هو چوندا آهن: اسان الله جا آهيون ۽ اسان ان ڏانهن ئي موٽڻ وارا آهيون. اهي ئي ماڻهو آهن جن جي مٿان انهن جي رب جي مهر ۽ رحمت آهي ۽ اِهي ئي ماڻهو سڌي راهه تي آهن. ١٥٣-١٥٧

---

دين اِهو آهي ته ماڻهوءَ کي پنهنجو خالق اهڙيءَ طرح ملي وڃي جو ان جي ياد ۾ ۽ ان جي شڪر گذاري ۾ اُن جا صبح ۽ شام گذرڻ لڳن. اِهڙي قسم جي زندگي ئي سيني خوشين ۽ لذتن جو خزانو آهي. پر اِهي خوشيون ۽ لذتون پنهنجي حقيقي صورت ۾ ماڻهوءَ کي صرف آخرت ۾ ملنديون. موجوده دنيا کي الله تعاليٰ انعام جي لاءِ نه بڻايو آهي، بلڪ امتحان جي لاءِ بڻايو آهي، هِتي اهڙيون حالتون پيدا ڪيون ويون آهن جيڪي خدا پرستي جي راهه ۾ ماڻهوءَ جي لاءِ رڪاوٽون بڻجن. ته جيئن اِهو معلوم ٿئي ته ڪير پنهنجي اظهار ايمان ۾ سنجيده آهي ۽ ڪير سنجيده نه آهي. نفس جون خواهشون، پارن پچن جا تقاضا، دنيا جون مصلحتون، شيطاني وسوسا، سماجي حالتن جو دٻاءُ، اِهي سڀئي شيون فتني جي صورت ۾ ماڻهوءَ کي گهيري رکن ٿيون. ماڻهوءَ جي لاءِ ضروري آهي ته هو انهن فتنن کي سڃاڻي ۽ انهن کان پنهنجي پاڻ کي بچائيندي ذڪر ۽ شڪر جا تقاضا پورا ڪري.

انهن امتحاني ڏکيائين جي مقابلي ۾ ڪاميابيءَ جو واحد ذريعو نماز ۽ صبر آهي. يعني الله سان ڳنڍجڻ ۽ هر قسم جي تڪليفن کي برداشت ڪندي پنهنجي ارادي سان حق جي راهه تي قائم رهڻ. جيڪي ماڻهو نامناسب حالتن جي سامهون اچڻ جي باوجود نه ٿڙن ۽ بظاهر غير الله ۾ نفعو ڏسندي به الله سان پنهنجو پاڻ کي ڳنڍيل رکن، اُهي ئي ماڻهو آهن جيڪي سنت الٰهي جي مطابق ڪاميابيءَ جي منزل تائين پهچندا.

حق جي راهه ۾ ڏکيائين ۽ مصيبتن جو ٻيو سبب مؤمن جو تبليغي ڪردار آهي. تبليغ ۽ دعوت جو ڪم نصيحت ۽ تنقيد جو ڪم آهي ۽ نصيحت ۽ تنقيد هميشه ماڻهوءَ جي لاءِ سڀني کان وڌيڪ نفرت جي لائق شيءِ رهي آهي. انهن ۾ به نصيحت ٻڌڻ جي لاءِ سڀني کان وڌيڪ حساس اهي ماڻهو هوندا آهن جيڪي پنهنجا دنياوي ڪاروبار دين جي نالي تي ڪري رهيا هجن. داعي جي ذات ۽ ان جي پيغام ۾ اِهڙن سڀني ماڻهن کي پنهنجي حيثيت جي نفي نظر اچڻ لڳي ٿي. داعي جو وجود هڪ اهڙي ساهمي بڻجي وڃي ٿو جنهن ۾ هر ماڻهو تُري رهيو هجي. ان جو نتيجو اِهو ٿيندو آهي ته داعي بڻجڻ لاءِ

ڪڪرن جي مناري ۾ هٽ وجهڻ جي برابر بڻجي وڃي ٿو. اهڙو ماڻهو پنهنجي ماحول مان بي دخل ڪيو ويندو آهي. ان جي معيشت برباد ٿي ويندي آهي. ان جي ترقين جا دروازا بند ٿي ويندا آهن. ايستائين جو ان جي جان بہ خطري ۾ پئجي ويندي آهي. پر اِهوئي ماڻهو سڌي راهہ تي آهي جنهن کي بي راهہ ڄاڻائي ستايو وڃي. اُهوئي پائي ٿو جيڪو الله جي راهہ ۾ وڃائي ٿو. اُهوئي جي رهيو آهي جيڪو الله جي راهہ ۾ جان ڏئي ڇڏي. آخرت جي جنت ان جي لاءِ ئي آهي جيڪو الله جي خاطر دنيا جي جنت کان محروم ٿي ويو هجي.

اِنَّ الصَّفَا وَ الْمَرْوَةَ مِنْ شَعَآىِٕرِ اللّٰهِ ۚ فَمَنْ حَجَّ الْبَيْتَ اَوِ اعْتَمَرَ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِ اَنْ
يَّطَّوَّفَ بِهِمَا ؕ وَ مَنْ تَطَوَّعَ خَيْرًا ۙ فَاِنَّ اللّٰهَ شَاكِرٌ عَلِيْمٌ ﴿١٥٨﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْتُمُوْنَ مَآ
اَنْزَلْنَا مِنَ الْبَيِّنٰتِ وَ الْهُدٰى مِنْۢ بَعْدِ مَا بَيَّنّٰهُ لِلنَّاسِ فِى الْكِتٰبِ ۙ اُولٰٓىِٕكَ يَلْعَنُهُمُ
اللّٰهُ وَ يَلْعَنُهُمُ اللّٰعِنُوْنَ ﴿١٥٩﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا وَ اَصْلَحُوْا وَ بَيَّنُوْا فَاُولٰٓىِٕكَ اَتُوْبُ عَلَيْهِمْ ۚ
وَ اَنَا التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿١٦٠﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ مَاتُوْا وَ هُمْ كُفَّارٌ اُولٰٓىِٕكَ عَلَيْهِمْ لَعْنَةُ
اللّٰهِ وَ الْمَلٰٓىِٕكَةِ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٦١﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ لَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَ لَا هُمْ
يُنْظَرُوْنَ ﴿١٦٢﴾

صفا ۽ مروه بيشڪ الله جي نشانين مان آهن. پوءِ جيڪو شخص بيت الله جو حج ڪري يا عمرو ڪري تہ ان تي ڪو بہ حرج نہ آهي تہ هو انهن جو طواف ڪري ۽ جيڪو شوق سان ڪا نيڪي ڪري تہ الله قدردان آهي، ڄاڻڻ وارو آهي. جيڪي ماڻهو لڪائين ٿا اسان جي نازل ڪيل واضح نشانين کي ۽ اسان جي هدايت کي ان کان پوءِ بہ جڏهن تہ اسان ان کي ماڻهن جي لاءِ ڪتاب ۾ صاف صاف بيان ڪري چڪا آهيون تہ اُهي ئي ماڻهو آهن جن تي الله لعنت ڪري ٿو ۽ انهن تي لعنت ڪرڻ وارا بہ لعنت ڪندا آهن. پر جن توبهہ ڪئي ۽ اصلاح ڪري ورتي ۽ بيان ڪيو تہ انهن کي آءٌ معاف ڪري ڇڏيندس ۽ آءٌ آهيان معاف ڪرڻ وارو، مهربان. بيشڪ جن ماڻهن انڪار ڪيو ۽ انهي حال ۾ مري ويا تہ اُهي ئي ماڻهو آهن جن تي الله جي ۽ فرشتن جي ۽ ماڻهن سڀني جي لعنت آهي. انهي حال ۾ هو هميشہ رهندا. انهن تان عذاب هلڪو نہ ڪيو ويندو ۽ نہ وري انهن کي مهلت ڏني ويندي. ١٥٨-١٦٢

---

حضرت ابراهيم عليه السلام جو وطن عراق هو. الله تعاليٰ جي حڪم سان پنهنجي گهر واري بيبي هاجره رضي الله عنها ۽ ننڍي پُٽ اسماعيل عليه السلام کي وٺي اُن مقام تي ڇڏي ويا جتي اڄ مَڪو آهي. اُن وقت اُتي نہ ڪا آبادي هُئي ۽ نہ ئي پاڻي. اُڃ لڳي تہ بيبي هاجره رضي الله عنها پاڻي جي ڳولا ۾ نڪتي. پريشاني جي حالت ۾ هوءَ صفا ۽ مروه نالي ٽڪرين جي وچ ۾ ڊوڙندي رهي. ست چڪر لڳائڻ کان پوءِ ناڪام ٿي موٽي آئي. ڏٺائين تہ ان جي قيام گاهہ جي ويجهو هڪ چشمو ڦُٽي نڪتو آهي. هيءُ چشمو پوءِ زم زم جي نالي سان مشهور ٿيو. اِهو هڪ علامتي واقعو آهي جيڪو ٻڌائي ٿو تہ الله جو معاملو پنهنجن ٻانهن سان ڪيئن هوندو آهي. الله جو ڪو ٻانهو جيڪڏهن الله جي راهہ ۾ وڌندي وڌندي ان حد تائين پهچي وڃي جو ان جي قدمن

هيئان رڻ پٽ ۽ ريگستان ڪان سواءِ ڪجهه بہ نہ رهي تہ الله پنهنجي قدرت سان ان ريگستان ۾ اُن جي لاءِ رزق جا چشما جاري ڪري ڇڏيندو.حج ۽ عمري ۾ صفا ۽ مروه جي وچ ۾ سعي جو مقصد ان تاريخي ياد کي تازو ڪرڻ آهي.

رسول اللهﷺ جي زندگي ۽ تعليم ۾ الله جون نشانيون ايتريون تہ واضح هيون جو اِهو سمجهڻ مشڪل نہ هو تہ پاڻ سڳورن جي زبان تي الله جو ڪلام جاري ٿيو آهي. پر يهودي عالمن پاڻﷺ جو اقرار نہ ڪيو. انهن کي خوف هو تہ جيڪڏهن هو پيغمبر عربيﷺ کي مڃي وٺندا تہ انهن جي مذهبي وڏائي ختم ٿي ويندي. اُنهن جا چميل ڪاروبار اُجڙي ويندا. پنهنجي ڪاميابيءَ جو راز انهن حق کي لڪائڻ ۾ سمجهيو، جڏهن تہ انهن جي ڪاميابي جو راز حق جي اعلانِ ۾ هو. حق ڏانهن وڌڻ ۾ هو پنهنجي دنيا برباد ٿيندي ڏسي رهيا هئا. پر اُنهن وساري ڇڏيو تہ اِهائي اُها شيءِ آهي جيڪا الله تعاليٰ کي سڀ کان وڌيڪ گهربل آهي. جيڪو پاڻهو حق جي خاطر برباد ٿي وڃي اهو سڀني کان وڏي ڪاميابي کي حاصل ڪري وٺي ٿو، يعني الله رب العالمين جي مدد.

جيئن تہ الله جي رحمت جو در ماڻهوءَ لاءِ هر وقت کليل هوندو آهي. شروع ۾ غلطي ڪرڻ کان پوءِ جيڪڏهن ماڻهوءَ کي هوش اچي وڃي ۽ هو موٽي صحيح رويو اختيار ڪري ۽ هو ان حق جو اعلان ڪري جنهن کي الله چاهي ٿو تہ اُن جو اعلان ڪيو وڃي تہ پوءِ الله ان کي معاف ڪري ڇڏيندو. پر جيڪي ماڻهو حق جي انڪار تي قائم رهن ۽ انهي حال ۾ سندن موت اچي وڃي تہ اُهي الله جي رحمتن کان پري ڪيا ويندا.

ع وَ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ ﴿١٦٣﴾ اِنَّ فِيْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ اخْتِلَافِ الَّيْلِ وَ النَّهَارِ وَ الْفُلْكِ الَّتِيْ تَجْرِيْ فِي الْبَحْرِ بِمَا يَنْفَعُ النَّاسَ وَ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ مِنَ السَّمَآءِ مِنْ مَّآءٍ فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا وَ بَثَّ فِيْهَا مِنْ كُلِّ دَآبَّةٍ ۪ وَّ تَصْرِيْفِ الرِّيٰحِ وَ السَّحَابِ الْمُسَخَّرِ بَيْنَ السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿١٦٤﴾

۽ توهان جو معبود هڪ ئي معبود آهي. ان کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي. هو وڏو مهربان آهي، نهايت رحم وارو آهي. بيشڪ آسمانن ۽ زمين جي خلقت ۾ ۽ رات ۽ ڏينهن جي اچڻ وڃڻ ۾ ۽ انهن ٻيڙين ۾ جيڪي انسانن جي ڪم اچڻ وارين شين کي کڻي سمنڊ ۾ هلن ٿيون ۽ ان پاڻيءَ ۾ جنهن کي الله آسمان تان لاٿو. پوءِ ان سان مئل زمين کي زندگي ڏني ۽ اُن زمين تي سڀني قسمن جا جانور ڦهلائي ڇڏيا ۽ هوائن جي گردش ۽ ڪڪرن ۾ جيڪي آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ حڪم جا تابع آهن، انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن جيڪي عقل کان ڪم وٺن ٿا. ١٦٣-١٦٤

---

انسان جو خدا هڪ ئي خدا آهي ۽ اُهو ئي ان قابل آهي جو هو انسان جي توجهه جو مرڪز بڻجي. اسان جو وجود ۽ اُهو سڀ ڪجهه جيڪو اسان کي زمين تي حاصل آهي اهو ان ڪري آهي جو اسان جو خدا رحمتن ۽ مهربانين جو خزانو آهي. ماڻهوءَ کي گهرجي تہ هو ان کي حقيقي معنيٰ ۾ پنهنجو معبود

ٻڌائي. هو ان جي لاءِ جِيئي ۽ ان جي لاءِ ئي مري ۽ پنهنجن سڀني اميدن ۽ تمنائن کي هميشہ جي لاءِ ان سان وابستہ ڪري ڇڏي. جيئن هڪ ننڍو ٻار پنهنجو سڀ ڪجهہ صرف پنهنجي ماءُ کي سمجهي ٿو، اهڙيءَ طرح خدا انسان جي لاءِ ان جو سڀ ڪجهہ بڻجي وڃي.

اسان جي سامهون ڦهليل ڪائنات الله جو هڪ عظيم الشان تعارف آهي. زمين ۽ آسمان جي صورت ۾ هڪ لامحدود ڪارخاني جو موجود هجڻ ظاهر ڪري ٿو تہ ضرور ان جو ڪو ٺاهڻ وارو آهي. هر طرح جا ظاهري فرق ۽ تضاد هئڻ جي باوجود سڀني شين جي موافقت ۽ هم آهنگي سان گڏ ڪم ڪرڻ ثابت ڪري ٿو تہ انهن جو خالق ۽ مالڪ صرف هڪ آهي. ڪائنات جي شين ۾ نفعو ڏيڻ واري صلاحيت جو هجڻ، جڻ تہ ان ڳالھ جو اعلان آهي تہ ان جي منصوبہ بندي ڪامل شعور ۽ ارادي سان ڪئي وئي آهي. بظاهر بي جان شين ۾ قدرتي عمل سان جان ۽ تازگي جو اچڻ ٻڌائي ٿو تہ ڪائنات ۾ موت رڳو عارضي شيءِ آهي، هِتي هر موت کان پوءِ لازمًا بي زندگي اچي ٿي. هِڪڙي ئي پاڻي ۽ هڪ ئي خوراڪ سان هر قسم جي جاندارن جو اڻ ڪٿ تعداد ۾ هجڻ الله جي بي حساب قدرت جو ڏس ڏي ٿو. هوا جو مڪمل طور تي انسان کي پنهنجي گهيري ۾ وٺڻ ٻڌائي ٿو تہ انسان پوري طرح پنهنجي خالق جي قبضي ۾ آهي. ڪائنات جي سڀني شين جو انساني ضرورت مطابق ٺهيل هجڻ اِهو ثابت ڪري ٿو تہ انسان جو خالق هڪ بيحد مهربان هستي آهي، هو ان جي ضرورتن جو انتظام ان وقت کان ڪري رهيو آهي جڏهن تہ اڃا ان جو وجود بہ نہ هو.

ڪائنات ۾ اهڙي قسم جون نشانيون جڻ تہ مخلوق جي اندر خالق جون جهلڪيون آهن. اهي الله جي هستيءَ جو ۽ ان جي هڪ هئڻ جو ۽ ان جي سڀني ڪامل صفتن جو جامع هجڻ جو ايڏي وڏي پيماني تي اظهار ڪري رهيون آهن جو ڪو اک رکڻ وارو ان کي ڏسڻ کان محروم نہ رهي سگهي ۽ ڪو عقل وارو ان کي ڳولهي لهڻ کان عاجز نہ رهي دليلن کي اهو ئي شخص سڃاڻي ٿو جيڪو دليلن تي غور ڪندو هجي. اهو سچائيءَ کي ڄاڻڻ واري معاملي ۾ سنجيده هجي. هو مصلحتن کان متاثر ٿيڻ تي راءِ قائم ڪندو هجي. هو ظاهري شين ۾ اٽڪي نہ پوي، بلڪ ظاهري شين جي پويان لڪيل باطني حقيقت کي ڄاڻڻ جو حرص رکندڙ هجي.

وَ مِنَ النَّاسِ مَنۡ يَّتَّخِذُ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ اَنۡدَادًا يُّحِبُّوۡنَهُمۡ كَحُبِّ اللّٰهِ ؕ وَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا
اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِ ؕ وَ لَوۡ يَرَى الَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡۤا اِذۡ يَرَوۡنَ الۡعَذَابَ ۙ اَنَّ الۡقُوَّةَ لِلّٰهِ جَمِيۡعًا ۙ وَّ اَنَّ اللّٰهَ
شَدِيۡدُ الۡعَذَابِ ﴿۱۶۵﴾ اِذۡ تَبَرَّاَ الَّذِيۡنَ اتُّبِعُوۡا مِنَ الَّذِيۡنَ اتَّبَعُوۡا وَ رَاَوُا الۡعَذَابَ وَ تَقَطَّعَتۡ
بِهِمُ الۡاَسۡبَابُ ﴿۱۶۶﴾ وَ قَالَ الَّذِيۡنَ اتَّبَعُوۡا لَوۡ اَنَّ لَنَا كَرَّةً فَنَتَبَرَّاَ مِنۡهُمۡ كَمَا تَبَرَّءُوۡا مِنَّا ؕ
كَذٰلِكَ يُرِيۡهِمُ اللّٰهُ اَعۡمَالَهُمۡ حَسَرٰتٍ عَلَيۡهِمۡ ؕ وَ مَا هُمۡ بِخٰرِجِيۡنَ مِنَ النَّارِ ﴿۱۶۷﴾

۽ ڪجهہ ماڻهو اهڙا آهن جيڪي الله کان سواءِ ٻين کي الله جي برابر ڪن ٿا. انهن سان اهڙي محبت ڪن ٿا جهڙي محبت الله سان ڪرڻ کپي ۽ جيڪي ايمان وارا آهن، اُهي سڀني کان وڌيڪ الله سان محبت رکن ٿا ۽ جيڪڏهن اِهي ظالم اُن وقت کي ڏسي وٺن جڏهن هو عذاب کي ڏسندا تہ سڄي جو سڄو زور رڳو الله جو آهي ۽ الله وڏو

سخت عذاب ڏيڻ وارو آهي. جڏهن اڳواڻ پنهنجي تابعدارن کان ڌار ٿي ويندا ۽ عذاب انهن جي سامهون هوندو ۽
انهن جا پاڻ ۾ رشتا ناتا ٽٽي چڪا هوندا ۽ پوءِ جيڪي تابعدار آهن چوندا ته ڪاش! اسان کي دنيا ڏانهن موٽڻ ملي
وڃي ها ته اسان به انهن اڳواٽن کان ڌار ٿي وڃون ها. جيئن اڄ اُهي اسان کان ڌار ٿي ويا آهن. اهڙيءَ طرح الله انهن
جي عملن کي حسرت بڻائي ڏيکاريندو ۽ هو باهه مان نڪري نه سگهندا. ١٦٥-١٦٧

---

ماڻهو پنهنجي فطرت ۽ پنهنجن حالتن جي لحاظ کان هڪ اِهڙي مخلوق آهي، جيڪو هميشه هڪ خارجي سهارو چاهي ٿو ته هڪ اهڙي هستي هجي جيڪا ان جي گهٽتائين جي تلافي ڪري ۽ اُن جي لاءِ اعتماد ۽ يقين جو بنياد بڻجي. ڪنهن کي به ان حيثيت سان پنهنجي زندگي ۾ شامل ڪرڻ ان کي پنهنجو معبود بنائڻ آهي. جڏهن ماڻهو ڪنهن هستيءَ کي پنهنجو معبود بڻائي ٿو ته ان کان پوءِ لازمي طور ائين ٿيندو آهي ته ماڻهوءَ جا محبت ۽ عقيدت وارا جذبا هُن جي لاءِ خاص ٿي ويندا آهن. ماڻهو پنهنجي فطرت جي لحاظ کان مجبور آهي ته ڪنهن سان شديد محبت ڪري ۽ جنهن سان ڪو شديد محبت ڪندو اُهوئي ان جو معبود آهي. موجوده دنيا ۾ چاڪاڻ ته خدا نظر نه ٿو اچي، ان لاءِ ظاهر پرست انسان عام طور تي نظر اچڻ وارين هستين مان ڪنهن هستيءَ کي اُهو مقام ڏئي ڇڏي ٿو جيڪو اصل ۾ خدا کي ڏيڻ گهرجي. اِهي هستيون اڪثر اُهي سردار يا پيشوا هوندا آهن جيڪي ڪنهن ظاهري خصوصيت يا صفتن جي ڪري ماڻهن جي توجهه جا مرڪز بڻجي ويندا آهن. ماڻهوءَ جي فطرت ۾ رکيل خلا حقيقت ۾ انهيءَ لاءِ هو ته ان کي رب العالمين سان پُر ڪيو وڃي، اُتي هو ڪنهن سردار يا پيشوا کي ويهاري ڇڏي ٿو.

ائين ان ڪري ٿيندو آهي جو ڪنهن انسان جي چوڌاري ڪجهه ظاهري رونقون ڏسي ماڻهو ان کي ”وڏو“ سمجهي وٺندا آهن. ڪو پنهنجن غيرمعمولي شخصي صفتن جي ڪري ماڻهن کي متاثر ڪري وٺندو آهي. ڪو ڪنهن گاديءَ تي ويهي سَوَن سالن جي روايتن جو وارث بڻجي وڃي ٿو. ڪنهن وٽ انسانن جو ميڙ ڏسي ماڻهن ۾ اِها غلط فهمي پيدا ٿي ويندي آهي ته اِهو شخص عام انسانن کان ڪو بلند تر انسان آهي. ڪنهن ماڻهوءَ جي چوڌاري پر اسرار آڪاٽين جو چار تيار ٿي ويندو آهي ۽ سمجهيو وڃي ٿو ته هو غيرمعمولي قوتن جو مالڪ آهي. پر حقيقت اِها آهي ته خدا جي هن ڪائنات ۾ خدا کان سواءِ ڪنهن کي به زور يا وڏائي حاصل نه آهي. انسان کي خدا جو درجو ڏيڻ وارو ڪاروبار ان وقت تائين آهي جيستائين خدا ظاهر نه ٿو ٿئي. خدا جي ظاهر ٿيندي ئي صورتحال ايتري ته بدلجي ويندي جو وڏا پنهنجن ننڍن کان پري ڀڄڻ چاهيندا ۽ ننڍا پنهنجن وڏن کان. اهي رشتا ناتا جن تي ماڻهو دنيا ۾ فخر ڪندو هو، جنهن سان وفاداري ۽ عشق ڏيکاري ماڻهو سمجهندو هو ته هِن سيني کان وڏو سهارو حاصل ڪري ورتو آهي، اهو آخرت واري ڏينهن اهڙيءَ طرح بي معنيٰ ثابت ٿيندو جڻ ته ان جي ڪا حقيقت ئي نه هئي. ماڻهو پنهنجي گذريل زندگيءَ کي حسرت سان ڏسندو ۽ ڪجهه به نه ڪري سگهندو.

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ كُلُوْا مِمَّا فِي الْاَرْضِ حَلٰلًا طَيِّبًا ۖٞ وَّ لَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ؕ اِنَّهٗ لَكُمْ
عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿١٦٨﴾ اِنَّمَا يَاْمُرُكُمْ بِالسُّوْٓءِ وَ الْفَحْشَآءِ وَ اَنْ تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ مَا لَا
تَعْلَمُوْنَ ﴿١٦٩﴾ وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمُ اتَّبِعُوْا مَاۤ اَنْزَلَ اللّٰهُ قَالُوْا بَلْ نَتَّبِعُ مَاۤ اَلْفَيْنَا عَلَيْهِ

اٰبَآءَنَا ؕ اَوَ لَوۡ كَانَ اٰبَآؤُهُمۡ لَا يَعۡقِلُوۡنَ شَيۡـًٔا وَّ لَا يَهۡتَدُوۡنَ ﴿۱۷۰﴾ وَ مَثَلُ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا
كَمَثَلِ الَّذِىۡ يَنۡعِقُ بِمَا لَا يَسۡمَعُ اِلَّا دُعَآءً وَّ نِدَآءً ؕ صُمٌّۢ بُكۡمٌ عُمۡىٌ فَهُمۡ لَا
يَعۡقِلُوۡنَ ﴿۱۷۱﴾

انسانو! زمين جي شين مان حلال ۽ پاڪ شيون کائو ۽ شيطان جي قدمن تي نہ هلو. بيشڪ هو توهان جو پڌرو دشمن آهي. هو توهان کي رڳو بڇڙن ڪمن ۽ بي حيائيءَ جو حڪم ڪري ٿو ۽ ان ڳالھ جو تہ توهان الله جي طرف اُهي ڳالهيون منسوب ڪريو جن جو توهان کي ڪو علم نہ آهي ۽ جڏهن انهن کي چيو وڃي ٿو تہ ان تي هلو جيڪو الله نازل ڪيو آهي تہ هو چون ٿا اسان اُن تي هلنداسون، جنهن تي اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي هلندي ڏٺو. ڇا تڏهن بہ جو انهن جا ابا ڏاڏا نہ عقل رکندا هجن ۽ نہ ئي سڌي راهہ کي ڄاڻندا هجن. ۽ انهن منڪرن جو مثال اِهڙو آهي جيئن ڪو شخص اهڙي جانور کي پويان پڪاريندو هجي جيڪو سڏ ۽ پڪار کان سواءِ ڪجھ بہ نہ ٻڌندو هجي. اهي ٻوڙا آهن، گونگا آهن، انڌا آهن. هو ڪجھ نہ ٿا سمجهن. ١٦٨-١٧١

---

شرڪ ڇا آهي، عبادت جي جذبي جي تسڪين لاءِ الله کان سواءِ ٻيو ڪو مرڪز ٺاهي وٺڻ. خدا انسان جي سيني کان وڏي ۾ لازمي ضرورت آهي. خدا جي طلب انسان جي فطرت ۾ ائين ويڙهيل آهي جو ڪوبہ شخص خدا ڪانسواءِ رهي نہ ٿو سگهي. انسان جي گمراهي خدا کي ڇڏڻ نہ آهي بلڪ اصلي خدا جي جاءِ تي ڪنهن فرضي خدا کي پنهنجو خدا ٺاهي وٺڻ آهي. ان ڪري شريعت ۾ هر ان شيءِ کي حرام قرار ڏنو ويو آهي جيڪا ڪنهن بہ درجي ۾ ماڻهوءَ جي فطري طلب کي الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي پاسي موڙي ڇڏڻ واري هجي.

بت پرست قومون بتن جي نالي تي جانور آزاد ڇڏي ڏينديون آهن ۽ انهن جانورن کي ڪائڻ يا انهن مان فائدو وٺڻ حرام سمجهنديون آهن. جديد تهذيب ۾ بہ اِها رسم "قومي پکي" ۽ "قومي جانور" جهڙين صورتن ۾ رائج آهي. اهڙيءَ طرح ڪنهن بہ شيءِ کي پنهنجي لاءِ حرام ڪري وٺڻ رڳو هڪ سادو قانوني مسئلو نہ آهي، بلڪ اِهو الله سان شرڪ ڪرڻ آهي. ڇاڪاڻ تہ جڏهن هڪ شيءِ کي اهڙيءَ طرح حرام ڪيو وڃي ٿو تہ ان جو سبب اِهو هوندو آهي تہ هٿرادو عقيدي جي ڪري ان کي مقدس سمجهي ورتو آهي. اِهو خدا جي حقن ۾ غير خدا کي شريڪ بڻائڻ آهي، اِهو احترام تقدس جي انهن فطري جذبن کي تقسيم ڪرڻ آهي جيڪي صرف خدا جي لاءِ آهن ۽ جن کي صرف خدا جي لاءِ ئي هئڻ گهرجي. شيطان اهڙي قسم جا رواج اُن لاءِ ٺاهي ٿو تہ جيئن ماڻهوءَ ۾ لڪيل تعجب ۽ تقدس جي جذبن کي مختلف رخن ۾ ورهائي الله سان ماڻهن جو تعلق ڪمزور ڪري ڇڏي.

هڪ دفعو جڏهن ڪنهن غير الله کي مقدس مڃي ورتو آهي تہ انسان جي وهم پرستي ان ۾ نيون نيون برايون پيدا ڪندي رهي ٿي. "هڪ جانور" کي اُن پر اسرار صفتن جو مالڪ گمان ڪري ورتو آهي، جيڪي صرف خدا جي لاءِ خاص آهن. اُن کي الله جي قربت حاصل ڪرڻ جو ذريعو سمجهي ورتو آهي. اُن مان برڪت ۽ ڪم تي وڃڻ جي اميد ڪئي ويندي آهي. اِهي شيون جڏهن اڳين نسلن تائين پهچن ٿيون تہ هو اُن کي ابن ڏاڏن جي مقدس سنت سمجهي اهڙيءَ طرح پڪڙي وٺن ٿا جو هاڻي ان جي باري ۾ ڪنهن بہ قسم جو غور ۽ فڪر ممڪن نہ ٿو رهي. ايستائين جو اهو وقت اچي وڃي ٿو جڏهن ماڻهو دليل جي زبان

سمجهڻ کان ايترا ته عاجز ۽ معذور ٿي وڃن ٿا جڻ ته انهن وٽ نه اکيون آهن جن سان هو ڏسن ۽ نه ڪن آهن جن سان هو ٻڌن ۽ نه ئي انهن وٽ دماغ آهي جنهن سان هو ڪنهن ڳالهه کي سمجهي سگهن.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا كُلُوۡا مِنۡ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقۡنٰكُمۡ وَ اشۡكُرُوۡا لِلّٰهِ اِنۡ كُنۡتُمۡ اِيَّاهُ
تَعۡبُدُوۡنَ ﴿۱۷۲﴾ اِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيۡكُمُ الۡمَيۡتَةَ وَ الدَّمَ وَ لَحۡمَ الۡخِنۡزِيۡرِ وَ مَاۤ اُهِلَّ بِهٖ لِغَيۡرِ
اللّٰهِ ۚ فَمَنِ اضۡطُرَّ غَيۡرَ بَاغٍ وَّ لَا عَادٍ فَلَاۤ اِثۡمَ عَلَيۡهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۱۷۳﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ
يَكۡتُمُوۡنَ مَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ مِنَ الۡكِتٰبِ وَ يَشۡتَرُوۡنَ بِهٖ ثَمَنًا قَلِيۡلًا ۙ اُولٰٓئِكَ مَا يَاۡكُلُوۡنَ فِىۡ
بُطُوۡنِهِمۡ اِلَّا النَّارَ وَ لَا يُكَلِّمُهُمُ اللّٰهُ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ وَ لَا يُزَكِّيۡهِمۡ ۖۚ وَ لَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿۱۷۴﴾
اُولٰٓئِكَ الَّذِيۡنَ اشۡتَرَوُا الضَّلٰلَةَ بِالۡهُدٰى وَ الۡعَذَابَ بِالۡمَغۡفِرَةِ ۚ فَمَاۤ اَصۡبَرَهُمۡ عَلَى
النَّارِ ﴿۱۷۵﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ نَزَّلَ الۡكِتٰبَ بِالۡحَقِّ ؕ وَ اِنَّ الَّذِيۡنَ اخۡتَلَفُوۡا فِى الۡكِتٰبِ لَفِىۡ
شِقَاقٍۢ بَعِيۡدٍ ﴿۱۷۶﴾ ع

اي ايمان وارؤ اسان جي ڏنل پاڪ شين مان کائو ۽ الله جو شڪر ادا ڪريو، جيڪڏهن توهان ان جي عبادت ڪرڻ وارا آهيو. الله توهان تي حرام ڪيو آهي صرف مردار کي ۽ رت کي ۽ سوئر جي گوشت کي، ۽ جنهن تي الله کانسواءِ ڪنهن ٻئي جو نالو ورتو ويو هجي. پوءِ جيڪو شخص لاچار ٿي وڃي، نه ڪي هو خواهش رکندڙ هجي ۽ نه حد کان لنگهڻ وارو هجي ته ان تي ڪو به گناهه نه آهي. بيشڪ الله بخشڻ وارو مهربان آهي. جيڪي ماڻهو ان شيءِ کي لڪائين ٿا جيڪا الله پنهنجي ڪتاب ۾ نازل ڪئي آهي ۽ اُن جي بدلي ۾ توري قيمت وٺن ٿا، هو پنهنجي پيٽ ۾ رڳو باهه ڀري رهيا آهن. قيامت جي ڏينهن الله انهن سان نه ڳالهائيندو ۽ نه ئي انهن کي پاڪ ڪندو ۽ انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي. هِي اُهي ماڻهو آهن جن هدايت جي بدلي گمراهي جو سودو ڪيو ۽ بخشش جي بدلي عذاب جو، پوءِ عجب آهي ته ڪيترو نه صبر آهي اُنهن کي باهه تي. اهو اُن ڪري ته الله پنهنجي ڪتاب کي برحق نازل ڪيو، پر جن ماڻهن ڪتاب مان ڪيترين ئي راهون ڪڍيون اُهي ضد ۾ پري وڃي پيا. ١٧٢-١٧٦

---

ڪائڻ پيئڻ جي شين کي استعمال ڪندي جيڪي احساس ماڻهوءَ ۾ پيدا ٿيڻ گهرجن اُهي شڪر ۽ اطاعت اِلٰهي جا احساس آهن. يعني ”اسان الله جي ڏنل شيءِ کي الله جي حڪم جي مطابق کائي رهيا آهيون“. اِهو احساس ماڻهو ۾ خدا پرستي جو جذبو پيدا ڪري ٿو. پر جيڪي هٿ ٺوڪيل عقيدا ٺاهيا ويندا آهن، انهن ۾ اِها نفسيات بدلجي وڃي ٿي. هاڻي انسان جي توجهه شين جي فرض ڪيل خاصيتن ڏانهن لڳي وڃي ٿي. جن شين کي حاصل ڪري الله جي شڪر جو جذبو پيدا ٿئي ها، ان جي بدران خود انهن شين جي احترام ۽ تقدس جو جذبو پيدا ٿيڻ لڳي ٿو. ماڻهو مخلوق کي خالق جو درجو ڏئي ڇڏي ٿو. ڪنهن شيءِ جي حرام هجڻ جو بنياد ان جو فرض ڪيل تقدس يا ان جي باري ۾ وهمي عقيدا نه آهن، بلڪ ان جا سبب بلڪل ٻيا آهن. يعني اُهي شيون ناپاڪ هجن ۽ شريعت به انهن جي ناپاڪي جي تصديق ڪئي هجي. جيئن مردار، رت، سوئر، يا خدا جي پيدا ڪيل جانور کي خدا کانسواءِ ڪنهن ٻئي جي نالي

تي ذبح ڪرڻ وغيره. لاچاري ۽ بيوسيءَ جي حالت ۾ ماڻهو حرام ڪائي سگهي ٿو. جڏهن بک، بيماري يا حالتن جو ڪو به دٻاءُ ماڻهوءَ کي اُن جي استعمال تي مجبور ڪري ڇڏي. پوءِ به اِهو ضروري آهي ته ماڻهو حرام شيءِ کي چاهه سان نه کائي ۽ نه ئي ان کي ضرورت کان وڌيڪ استعمال ڪري.

اهڙي قسم جا وهمي عقيدا جڏهن عوامي مذهب بڻجي وڃن ته عالمن جو اِهو حال ٿي ويندو آهي ته ان جي باري ۾ الله جو حڪم ڄاڻندي به هو اُن جي اعلان کان ڊڄڻ لڳندا آهن. ڇاڪاڻ ته انهن کي ڊپ هوندو آهي ته اهڙيءَ طرح هو عوام کان ڪٽجي پري ٿي ويندا جن ۾ هو مقبوليت حاصل ڪري "وڏا" بڻيا ويٺا آهن. گمراهه عوام سان ٺاهه جيڪڏهن دنيا ۾ انهن کي عزت ۽ دولت ڏئي ڇڏي ٿو، پر الله جي نظر ۾ اهڙا ماڻهو بدترين مجرم آهن. حق کي مصلحت تحت لڪائڻ اهڙين غلطين مان نه آهي جن کان آخرت ۾ الله درگذر فرمائيندو. اِهي اهڙا ڏوهه آهن جيڪي ماڻهوءَ کي الله جي نظر عنايت کان محروم ڪري ڇڏيندا آهن. انهن ۾ به وڌيڪ بڇڙا اُهي ماڻهو آهن جن جي سامهون حق پيش ڪيو وڃي ۽ هو اعتراف ڪرڻ جي بجاءِ بي معنيٰ بحث شروع ڪري ڇڏين. اهڙن ماڻهن جي اندر ضد واري نفسيات پيدا ٿي ويندي آهي ۽ آخرڪار اُهي حق کان ايترو ته پري ٿي ويندا آهن جو ڪڏهن به ان ڏانهن موٽي نه ايندا آهن.

لَيْسَ الْبِرَّ اَنْ تُوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ قِبَلَ الْمَشْرِقِ وَ الْمَغْرِبِ وَ لٰكِنَّ الْبِرَّ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَ الْمَلٰٓئِكَةِ وَ الْكِتٰبِ وَ النَّبِيّٖنَ ۚ وَ اٰتَى الْمَالَ عَلٰى حُبِّهٖ ذَوِي الْقُرْبٰى وَ الْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنَ وَ ابْنَ السَّبِيْلِ ۙ وَ السَّآئِلِيْنَ وَ فِي الرِّقَابِ ۚ وَ اَقَامَ الصَّلٰوةَ وَ اٰتَى الزَّكٰوةَ ۚ وَ الْمُوْفُوْنَ بِعَهْدِهِمْ اِذَا عٰهَدُوْا ۚ وَ الصّٰبِرِيْنَ فِي الْبَاْسَآءِ وَ الضَّرَّآءِ وَ حِيْنَ الْبَاْسِ ؕ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ صَدَقُوْا ؕ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُتَّقُوْنَ ﴿١٧٧﴾

نيڪي اِها نه آهي ته توهان پنهنجا منهن مشرق يا مغرب ڏانهن ڪري وٺو، بلڪ نيڪي اِها آهي ته ماڻهو الله تي ايمان آڻي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ۽ فرشتن تي ۽ ڪتاب تي ۽ پيغمبرن تي. ۽ مال ڏي الله جي محبت ۾ مائٽن کي ۽ يتيمن کي ۽ محتاجن کي ۽ مسافرن کي ۽ گهُرڻ وارن کي ۽ غلامن کي آزاد ڪرڻ ۾ ۽ نماز قائم ڪري ۽ زڪوات ادا ڪري ۽ جڏهن عهد ڪن ته ان کي پورو ڪن ۽ صبر ڪرڻ وارا سختي ۽ تڪليف ۾، ۽ جنگ جي وقت. اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي سچا آهن ۽ اِهي ئي ڊڄڻ وارا آهن. ١٧٧

---

يهودين مغرب کي پنهنجي عبادت جو قبلو بڻايو هو ۽ نصارن مشرق کي. ٻئي پنهنجي پنهنجي رخ کي مقدس سمجهندا هئا. ٻنهي کي پڪو هو ته هُنن خدا جي مقدس رخ کي پنهنجو قبلو بڻائي خدا وٽ پنهنجو درجو محفوظ ڪري ورتو آهي. پر خدا پرستي اِها نه آهي ته ماڻهو ڪنهن "مقدس رخ" کي جهلي وٺي. خدا پرستي اِها آهي جو ماڻهو خود الله جي دامن کي پڪڙي وٺي. ديني عمل جي جيتوڻيڪ هڪ ظاهري صورت هوندي آهي، پر حقيقت جي لحاظ کان اهو ان الله جو ملي وڃڻ آهي جيڪو زمين ۽ آسمان جو نور آهي، جيڪو ماڻهوءَ جي شهه رڳ کان به وڌيڪ ويجهو آهي. الله وٽ جيڪي شيون ڪنهن کي پيارو بڻائين ٿيون، اهي ڪنهن قسم جون ظاهري شيون نه آهن، بلڪ اُهو عمل آهي جيڪو ماڻهو پنهنجي پوري

وجود سان خالص الله جي لاءِ ڪري ٿو. الله جو مقبول ٻانهو اُهو آهي جنهن ڪي الله اهڙيءَ طرح ملي جو الله سندس پوري زندگي ۾ شامل ٿي وڃي. هو ماڻهوءَ جي شعور ۾ شامل ٿي وڃي. هو اُن جي ڪمائي جو مالڪ بڻجي وڃي. هو ان جي ياد ۾ سمائجي وڃي. هو ان جي ڪردار تي ڇانئجي وڃي. ماڻهو پنهنجي رب ڪي اهڙيءَ طرح جهلي وٺي جو سخت وقتن ۾ به الله جي رسي ان جي هٿان نه ڇڏائجي وڃي. الله جو حق ان سان سچي وفاداري سان ادا ٿيندو آهي نه ڪي وري رڳو هيڏانهن هوڏانهن رخ ڪرڻ سان.

الله تي ايمان آڻڻ اِهو آهي ته ماڻهو الله ڪي پنهنجو سڀ ڪجهه بڻائي وٺي. آخرت جي ڏينهن تي ايمان اِهو آهي ته ماڻهو دنيا جي بجاءِ آخرت ڪي زندگي جو اصل مسئلو سمجهڻ لڳي. فرشتن تي ايمان اِهو آهي ته هو خدا جي انهن ڪارندن ڪي مڃي جيڪي خدا جي حڪم سان دنيا جو انتظام هلائي رهيا آهن. ڪتاب تي ايمان اِهو آهي ته ماڻهو يقين ڪري ته الله انسان جي لاءِ پنهنجو هدايت نامو موڪليو آهي جنهن جي اُن ڪي لازمي پابندي ڪرڻي آهي. پيغمبرن تي ايمان اِهو آهي ته الله جي انهن ٻانهن ڪي الله جو نمائندو تسليم ڪيو وڃي جن ڪي الله پنهنجو پيغام پهچائڻ جي لاءِ چونڊيو آهي. پوءِ اهو ايمان ماڻهوءَ جي اندر ايترو ته گهرائي سان لهي وڃي جو هو الله جي محبت ۽ شوق ۾ پنهنجو مال ضرورتمندن ڪي ڏي ۽ انسانن ڪي مصيبت مان ڇڏائي. نماز قائم ڪرڻ الله جي اڳيان مڪمل طور جهڪي وڃڻ آهي. زڪوات ادا ڪرڻ پنهنجي مال ۾ خدا جي مستقل حصي جو اقرار ڪرڻ آهي. اِهڙو ٻانهو جڏهن ڪو عهد ڪري ٿو ته ان ڪان پوءِ هو ان ڪان ڦرڻ نه ٿو ڄاڻي. ڄاڪاڻ ته هو هر عهد ڪي خدا سان ڪيل عهد سمجهي ٿو. اُن ڪي الله تي ايترو ته ڀروسو ٿي ويندو آهي جو تنگي ۽ مصيبت هجي يا جنگ جي نوبت اچي وڃي، هو هر حال ۾ خدا پرستي جي رستي تي ثابت قدم رهندو آهي. اِهي صفتون جنهن جي اندر پيدا ٿي وڃن اِهوئي سچو مؤمن آهي ۽ سچو مؤمن الله مان انديشو رکڻ وارو هوندو آهي نه وري ڪنهن ڪوڙي سهاري تي اعتماد ڪري الله ڪان بي خوف ٿي وڃڻ وارو.

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِصَاصُ فِي الْقَتْلٰى ؕ اَلْحُرُّ بِالْحُرِّ وَ الْعَبْدُ بِالْعَبْدِ وَ
الْاُنْثٰى بِالْاُنْثٰى ؕ فَمَنْ عُفِيَ لَهٗ مِنْ اَخِيْهِ شَيْءٌ فَاتِّبَاعٌۢ بِالْمَعْرُوْفِ وَ اَدَآءٌ اِلَيْهِ
بِاِحْسَانٍ ؕ ذٰلِكَ تَخْفِيْفٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ رَحْمَةٌ ؕ فَمَنِ اعْتَدٰى بَعْدَ ذٰلِكَ فَلَهٗ عَذَابٌ
اَلِيْمٌ ﴿١٧٨﴾ وَ لَكُمْ فِي الْقِصَاصِ حَيٰوةٌ يّٰۤاُولِي الْاَلْبَابِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿١٧٩﴾ كُتِبَ عَلَيْكُمْ اِذَا
حَضَرَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ اِنْ تَرَكَ خَيْرَا ۖۚ اِلْوَصِيَّةُ لِلْوَالِدَيْنِ وَ الْاَقْرَبِيْنَ بِالْمَعْرُوْفِ ۚ
حَقًّا عَلَى الْمُتَّقِيْنَ ﴿١٨٠﴾ فَمَنْۢ بَدَّلَهٗ بَعْدَ مَا سَمِعَهٗ فَاِنَّمَاۤ اِثْمُهٗ عَلَى الَّذِيْنَ يُبَدِّلُوْنَهٗ ؕ اِنَّ
اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿١٨١﴾ فَمَنْ خَافَ مِنْ مُّوْصٍ جَنَفًا اَوْ اِثْمًا فَاَصْلَحَ بَيْنَهُمْ فَلَاۤ اِثْمَ
عَلَيْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٨٢﴾ ع

اي ايمان وارؤ! توهان تي مقتولن جو قصاص وٺڻ فرض ڪجي ٿو. آزاد جي بدلي آزاد، غلامن جي بدلي غلام، عورت جي بدلي عورت. پوءِ جيڪڏهن جنهن کي هن جي ڀاءُ جي طرفان ڪجهه معافي ملي وڃي ته ان کي ڪپي ته دستور مطابق تابعداري ڪري ۽ چڱي نموني سان ادا ڪري. اِها توهان جي رب جي طرفان هڪ آساني ۽ مهرباني آهي. هاڻي اُن کان پوءِ به جيڪو شخص زيادتي ڪري ان جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي. ۽ اي عقل وارؤ! قصاص ۾ توهان جي لاءِ زندگي آهي ته جيئن توهان بچو. توهان تي فرض ڪيو وڃي ٿو ته جڏهن توهان مان ڪنهن جي موت جو وقت اچي وڃي ۽ هو پنهنجي پٺيان مال متاع ڇڏي رهيو هجي ته هو دستور مطابق وصيت ڪري ڇڏي، پنهنجي ماءُ پيءُ لاءِ ۽ رشتيدارن لاءِ. اِهو ضروري آهي الله کان ڊڄڻ وارن جي لاءِ. پوءِ جيڪڏهن ڪو وصيت ٻڌڻ کان پوءِ به ان کي بدلائي ڇڏي ته ان جو گناهه ان تي ئي ٿيندو، جنهن ان کي بدلايو. يقينًا الله ٻڌڻ وارو، ڄاڻڻ وارو آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي وصيت ڪرڻ واري بابت شڪ هجي ته هُن طرفداري يا حق تلفي ڪئي آهي ۽ هو وارثن ۾ صلح ڪرائي ڇڏي ته مٿس ڪو گناهه نه آهي. الله معاف ڪرڻ وارو، رحم ڪرڻ وارو آهي. ١٧٨-١٨٢

---

قتل جي معاملي ۾ اسلام ۾ قصاص جو اصول مقرر ڪيو ويو آهي. يعني قاتل سان اُهوئي ڪجهه ڪيو وڃي جيڪو هن مقتول سان ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح هڪ پاسي آئيندي جي لاءِ قتل جي حوصلي شڪني ٿيندي. ڇاڪاڻ ته پنهنجي جان جو خوف ماڻهوءَ کي ٻئي جي جان وٺڻ کان روڪي ٿو ۽ ان جي نتيجي ۾ سيني جون جانيون محفوظ ٿي وينديون آهن. قاتل جي قتل سان پوري سماج جي لاءِ زندگي جي ضمانت پيدا ٿي ويندي آهي. ٻئي پاسي مقتول جي وارثن جو انتقامي جذبو به ٿڌو ٿيڻ سان سماج ۾ ڪنهن نئين تخريبي ڪارروائي جو امڪان ختم ٿي ويندو آهي. جيئن ته قصاص جو معاملو اسلام ۾ ڏاهه جوڳو آهي. مقتول جا وارث چاهين ته قاتل کي قتل ڪري سگهن ٿا ۽ چاهين ته ديت (مالي معاوضو) وٺي سگهن ٿا ۽ چاهين ته معاف ڪري سگهن ٿا. ان گنجائش جو خاص مقصد اِهو آهي ته اسلامي سماج ۾ هڪبئي کي ڀاءُ سمجهڻ واري فضا باقي رهي، هڪبئي کي دشمن سمجهڻ واري فضا ڪنهن به صورت ۾ پيدا نه ٿئي ۽ خون بَها جي اصول جو هڪ خاص فائدو اِهو آهي ته ان جي ذريعي مقتول جي وارثن کي پنهنجي خاندان جي مري وڃڻ واري فرد جو هڪ مالي معاوضو ملي وڃي ٿو.

جڏهن ڪو مري وڃي ٿو ته اهو مسئلو به پيدا ٿيندو آهي ته اُن جي وراثت جو ڇا ڪجي. ان سلسلي ۾ اسلام جو اصول اِهو آهي ته ان جي وراثت کي رشتيدارن ۾ دستور مطابق تقسيم ڪيو وڃي. اها ڄڻ ته مال جي تقويٰ آهي. جڏهن مرڻ واري جي رشتيدارن کي پنهنجو پنهنجو حصو ان جي ڇڏيل مال مان پهچي وڃي ته ان سان معاشري ۾ اِهو ماحول ٺهجي وڃي ٿو ته حق جي مطابق جنهن کي جيڪو ڏيڻ ڪپي ها اهو ڏنو ويو. اهڙيءَ طرح خاندان جي اندر ڇڏيل مال يا ملڪيت کي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ جهيڙا پيدا نٿا ٿين. خاندان جو ڪو به شخص جيڪڏهن قانوني لحاظ کان وارث نه هجي، پر اخلاقي لحاظ کان اهو مستحق هجي ته مرڻ واري کي گهرجي ته وصيت جي ذريعي ان ڪمي کي پورو ڪري ڇڏي. (هتي وراثت جي باري ۾ دستور جي مطابق وصيت ڪرڻ جو حڪم آهي. اڳيان سورة نساءِ ۾ هر هڪ جي حصي کي قانوني طور مقرر ڪيو ويو آهي).

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿١٨٣﴾ اَيَّامًا مَّعْدُوْدٰتٍ ۭ فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ مَّرِيْضًا اَوْ عَلٰي سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ اَيَّامٍ اُخَرَ ۭ

وَعَلَى الَّذِيْنَ يُطِيْقُوْنَهٗ فِدْيَةٌ طَعَامُ مِسْكِيْنٍ ؕ فَمَنْ تَطَوَّعَ خَيْرًا فَهُوَ خَيْرٌ لَّهٗ ؕ وَ اَنْ
تَصُوْمُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۸۴﴾ شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ فِيْهِ الْقُرْاٰنُ هُدًى
لِّلنَّاسِ وَ بَيِّنٰتٍ مِّنَ الْهُدٰى وَ الْفُرْقَانِ ۚ فَمَنْ شَهِدَ مِنْكُمُ الشَّهْرَ فَلْيَصُمْهُ ؕ وَمَنْ كَانَ
مَرِيْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ اَيَّامٍ اُخَرَ ؕ يُرِيْدُ اللّٰهُ بِكُمُ الْيُسْرَ وَ لَا يُرِيْدُ بِكُمُ
الْعُسْرَ ۫ وَلِتُكْمِلُوا الْعِدَّةَ وَلِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدٰىكُمْ وَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۱۸۵﴾

اي ايمان وارؤ! توهان تي روزا فرض ڪيا ويا آهن جهڙي طرح اوهان کان اڳين تي فرض ڪيا ويا هئا ته جيئن توهان پرهيزگار بڻجي وڃو. ڳڻيل ڪجهه ڏينهن. پوءِ جيڪڏهن توهان مان ڪو بيمار هجي يا سفر ۾ هجي ته ٻين ڏينهن ۾ ڳڻپ پوري ڪري. ۽ جن کي طاقت آهي ته هڪ روزي جو بدلو هڪ مسڪين جو کاڌو آهي. جيڪو وڌيڪ نيڪي ڪري ته ان جي لاءِ بهتر آهي ۽ توهان روزا رکو ته اهو توهان جي لاءِ وڌيڪ بهتر آهي، جيڪڏهن توهان سمجهو. رمضان جو مهينو جنهن ۾ قرآن نازل ڪيو ويو، هدايت آهي ماڻهن جي لاءِ ۽ ان ۾ رستي جون واضح نشانيون آهن ۽ حق ۽ باطل جي وچ ۾ فيصلو ڪرڻ وارو آهي. پوءِ توهان مان جنهن کي اِهو مهينو ملي هو ان جا روزا رکي. ۽ جيڪو بيمار هجي يا سفر ۾ هجي ته ٻين ڏينهن ۾ ڳڻپ پوري ڪري وٺي. الله توهان جي لاءِ آساني چاهي ٿو، هو توهان سان سختي ڪرڻ نه ٿو چاهي ۽ ان لاءِ ته توهان ڳڻپ پوري ڪري وٺو ۽ الله جي وڏائي بيان ڪريو، ان لاءِ جو الله توهان کي هدايت ڪئي ۽ ته جيئن توهان ان جا شڪر گذار بڻجي وڃو. ١٨٣-١٨٥

---

روزو هڪ ئي وقت ٻن شين جي تربيت آهي. هڪ شڪر، ٻي تقويٰ. کاڌو ۽ پاڻي الله جون وڏيون نعمتون آهن. پر عام حالتن ۾ ماڻهوءَ کي ان جو اندازو نه ٿيندو آهي. روزي ۾ جڏهن هو سڄو ڏينهن انهن شين کان رُڪيل رهي ٿو ۽ سج لهڻ کان پوءِ سخت بک ۽ اڃ جي حالت ۾ ماني کائي ٿو ۽ پاڻي پيئي ٿو ته ان وقت ان کي احساس ٿيندو آهي ته هي ماني ۽ پاڻي الله جون ڪيڏيون نه وڏيون نعمتون آهن. اُن تجربي سان هن جي اندر پنهنجي رب جي شڪر جو بي پناهه جذبو پيدا ٿيندو آهي. ٻئي پاسي اِهوئي روزو ماڻهوءَ جي لاءِ تقويٰ جي تربيت به آهي. تقويٰ اها آهي ته ماڻهو دنيا جي زندگي ۾ الله جي منع ڪيل شين کان بچي. هو انهن شين کان رڪجي وڃي جن کان خدا روڪيو آهي ۽ اُهوئي ڪري جنهن کي ڪرڻ جي اجازت خدا ڏني آهي. روزي ۾ صرف رات جو کائڻ ۽ ڏينهن جو کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيڻ جڻ ته خدا کي پنهنجي مٿان نگران بڻائڻ جي مشق آهي. مؤمن جي سڄي زندگي هڪ قسم جي روزي واري زندگي آهي. رمضان جي مهيني ۾ وقتي طور تي ڪجهه شين کي ڇڏرائي ماڻهوءَ کي تربيت ڏني ويندي آهي ته هو سڄي عمر لاءِ انهن شين کي ڇڏي ڏي جيڪي اُن جي رب کي ناپسند آهن. قرآن ٻانهي جي مٿان الله جو انعام آهي ۽ روزو ٻانهي جي طرفان اُن انعام جو عملي اعتراف. روزي جي ذريعي ٻانهو خود کي الله جي شڪر گذاري جي قابل بڻائي ٿو ۽ اِها صلاحيت پيدا ڪري ٿو ته هو قرآن جي ٻڌايل طريقي مطابق دنيا ۾ پرهيزگاري واري زندگي گذاري سگهي.

روزي سان دلين جي اندر نرمي ۽ عاجزي ايندي آهي. اهڙيءَ طرح روزو ماڻهوءَ جي اندر اها صلاحيت پيدا ڪري ٿو ته هو انهن ڪيفيتن کي محسوس ڪري سگهي، جيڪي الله کي پنهنجن ٻانهن

ڪان گهربل آهن. روزي جي سخت تربيت ماڻهوءَ کي ان قابل بڻائي ٿي تہ الله جي شڪر گذاري ۾ اُن جي دل تڙپي ۽ الله جي خوف کان اُن جي اندر ڏڪڻي پيدا ٿئي. جڏهن ماڻهو ان نفسياتي حالت کي پهچي ٿو، پوءِ ان وقت ئي هو ان قابل بڻجي ٿو تہ هو الله جي نعمتن تي اهڙو شڪر ادا ڪري جنهن ۾ اُن جي دل جي ڌڙڪن شامل هجي. هو اِهڙي تقويٰ جو تجربو ڪري جيڪو اُن جي بدن جا وار اُڀا ڪري ڇڏي. هو الله کي اِهڙي وڏي جي حيثيت سان لهي جنهن ۾ اُن جو پنهنجو وجود بلڪل نندو ٿي ويو هجي.

وَ اِذَا سَاَلَكَ عِبَادِيْ عَنِّيْ فَاِنِّيْ قَرِيْبٌ ؕ اُجِيْبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ اِذَا دَعَانِ ۙ فَلْيَسْتَجِيْبُوْا
لِيْ وَ لْيُؤْمِنُوْا بِيْ لَعَلَّهُمْ يَرْشُدُوْنَ ﴿١٨٦﴾ اُحِلَّ لَكُمْ لَيْلَةَ الصِّيَامِ الرَّفَثُ اِلٰى نِسَآئِكُمْ ؕ
هُنَّ لِبَاسٌ لَّكُمْ وَ اَنْتُمْ لِبَاسٌ لَّهُنَّ ؕ عَلِمَ اللّٰهُ اَنَّكُمْ كُنْتُمْ تَخْتَانُوْنَ اَنْفُسَكُمْ
فَتَابَ عَلَيْكُمْ وَ عَفَا عَنْكُمْ ۚ فَالْئٰنَ بَاشِرُوْهُنَّ وَ ابْتَغُوْا مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ ۪ وَ كُلُوْا وَ
اشْرَبُوْا حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكُمُ الْخَيْطُ الْاَبْيَضُ مِنَ الْخَيْطِ الْاَسْوَدِ مِنَ الْفَجْرِ ۪ ثُمَّ اَتِمُّوا
الصِّيَامَ اِلَى الَّيْلِ ۚ وَ لَا تُبَاشِرُوْهُنَّ وَ اَنْتُمْ عٰكِفُوْنَ ۙ فِي الْمَسٰجِدِ ؕ تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ
فَلَا تَقْرَبُوْهَا ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ اٰيٰتِهٖ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿١٨٧﴾ وَ لَا تَاْكُلُوْٓا اَمْوَالَكُمْ
بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ وَ تُدْلُوْا بِهَآ اِلَى الْحُكَّامِ لِتَاْكُلُوْا فَرِيْقًا مِّنْ اَمْوَالِ النَّاسِ بِالْاِثْمِ وَ
ع ٢٣ اَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿١٨٨﴾ۧ

۽ جڏهن منهنجا ٻانها توکان مون بابت پڇن تہ آءٌ ويجهو آهيان. سڏيندڙ جي سڏ جو جواب ڏيندو آهيان. ڪپي تہ هو منهنجو حڪم مڃين ۽ مون تي يقين رکن، تہ جيئن هو هدايت حاصل ڪن. توهان جي لاءِ روزي واري رات ۾ پنهنجن زالن وٽ وڃڻ جائز ڪيو ويو آهي. هو توهان جي لاءِ لباس آهن ۽ توهان انهن جي لاءِ لباس آهيو. الله ڄاتو تہ توهان پنهنجي پاڻ سان خيانت ڪري رهيا هئا، پوءِ ان توهان تي مهرباني ڪئي ۽ توهان کي معاف ڪري ڇڏيو. تہ هاڻي توهان انهن سان ملو ۽ چاهيو جيڪو الله توهان جي لاءِ لکي ڇڏيو آهي ۽ کائو ۽ پيئو ايستائين جو صبح جي سفيد ڌاري ڪاري ڌاري کان ڌار ظاهر ٿي وڃي. پوءِ پورو ڪيو روزو رات تائين ۽ جڏهن توهان مسجد ۾ اعتڪاف ۾ هجو تہ زالن سان صحبت نہ ڪريو. هي الله جون حدون آهن انهن جي ويجهو نہ وڃو. اهڙيءَ طرح الله پنهنجون آيتون ماڻهن جي لاءِ بيان ڪري ٿو، تہ جيئن هو بچن ۽ توهان پاڻ ۾ هڪ ٻئي جو مال ناحق طريقي سان نہ کائو ۽ اُن کي حاڪمن تائين نہ پهچايو، تہ جيئن ٻين جي مال جو ڪو حصو توهان کي ملي وڃي. جڏهن تہ توهان ان کي ڄاڻو ٿا. ١٨٦-١٨٨

---

روزو پنهنجي نوعيت جي لحاظ کان صبر جو عمل آهي ۽ صبر يعني حڪم الٰهي جي تعميل ۾ ڏکيائين کي برداشت ڪرڻ ئي اُهو عمل آهي جنهن سان ماڻهو ان قلبي حالت کي پهچندو آهي، جيڪو اُن کي خدا جي ويجهو ڪري ۽ ان جي زبان مان اهڙا ڪلما چورائي جيڪي قبوليت کي پهچڻ وارا هجن. الله ان کي ئي ملي ٿو جيڪو خود کي الله جي حوالي ڪري، الله تائين انهيءَ شخص جا لفظ پهچندا آهن

جنهن پنهنجي روح جي تارن کي الله سان ملائي رکيو هجي.

شريعت ماڻهوءَ جي مٿان ڪا غير فطري پابندي نہ ٿي وجهي. روزي ۾ ڏينهن جي وقت ۾ ازدواجي تعلق منع هجڻ جي باوجود رات جي وقت ۾ ان جي اجازت آهي، افطار ۽ سحر جا وقت، چاڻڻ لاءِ جنتري جو پابند ڪرڻ جي بجاءِ عام مشاهدي کي بنياد قرار ڏيڻ اهڙي قسم جون شيون آهن. جزئي تفصيلن ۾ ٻانهن کي گنجائش ڏيندي الله عام حدون واضح ڪري ڇڏيون آهن. ماڻهوءَ کي گهرجي تہ هو مقرر حدن جو پوري طرح پابند رهي ۽ جزئي تفصيلن ۾ ان طريقي کي اختيار ڪري جيڪو تقويٰ جي روح جي مطابق هجي.

روزي جي حڪم کان فورًا پوءِ اِهو حڪم آهي تہ ”ناجائز مال نہ کائو“ ٻڌائي ٿو تہ روزي جي حقيقت ڇا آهي. روزي جو اصل مقصد ماڻهوءَ جي اندر اِها صلاحيت پيدا ڪرڻ آهي تہ جتي الله جي طرفان رڪجڻ جو حڪم هجي، اُتي ماڻهو رڪجي وڃي. ايستائين جو جيڪڏهن حڪم هجي تہ جائز شيءِ کان بہ، جيئن روزي ۾ ٿيندو آهي. هاڻي جيڪو شخص الله جي حڪم جي ڪري حلال ڪمائڻ کان رڪجي وڃي، پوءِ ان ئي خدا جي حڪم جي ڪري هو حرام ڪمائي کان پنهنجي پاڻ کي ڇو نہ روڪيندو.

مؤمن جي زندگي هڪ قسم جي روزي واري زندگي آهي. اُن کي سڄي عمر ڪجهہ شين سان ”افطار“ ڪرڻو آهي ۽ ڪجهہ شين کان مستقل طور ”روزو“ رکڻو آهي. رمضان جو مهينو انهيءَ جي تربيت آهي. پوءِ روزي واري محتاط زندگي ۽ ان جو مشقت وارو عمل اهو سبق ڏي ٿو تہ الله جو عبادت گذار ٻانهو اُهو آهي جيڪو تقويٰ جي سطح تي الله جي عبادت ڪري رهيو هجي. الله کي پڪارڻ وارو صرف اُهو آهي جيڪو قربانين جي سطح تي الله جو قرب حاصل ڪري.

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْاَهِلَّةِ ؕ قُلْ هِيَ مَوَاقِيْتُ لِلنَّاسِ وَ الْحَجِّ ؕ وَ لَيْسَ الْبِرُّ بِاَنْ تَاْتُوا
الْبُيُوْتَ مِنْ ظُهُوْرِهَا وَ لٰكِنَّ الْبِرَّ مَنِ اتَّقٰى ۚ وَ اْتُوا الْبُيُوْتَ مِنْ اَبْوَابِهَا ۪ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ
لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۱۸۹﴾ وَ قَاتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ الَّذِيْنَ يُقَاتِلُوْنَكُمْ وَ لَا تَعْتَدُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ
لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿۱۹۰﴾ وَ اقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ ثَقِفْتُمُوْهُمْ وَ اَخْرِجُوْهُمْ مِّنْ حَيْثُ
اَخْرَجُوْكُمْ وَ الْفِتْنَةُ اَشَدُّ مِنَ الْقَتْلِ ۚ وَ لَا تُقٰتِلُوْهُمْ عِنْدَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ حَتّٰى
يُقٰتِلُوْكُمْ فِيْهِ ۚ فَاِنْ قٰتَلُوْكُمْ فَاقْتُلُوْهُمْ ؕ كَذٰلِكَ جَزَآءُ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۹۱﴾ فَاِنِ انْتَهَوْا
فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۹۲﴾ وَ قٰتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّ يَكُوْنَ الدِّيْنُ لِلّٰهِ ؕ فَاِنِ
انْتَهَوْا فَلَا عُدْوَانَ اِلَّا عَلَى الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۹۳﴾

هو توکان چنڊن (مهينن) بابت سوال ڪن ٿا. چؤ تہ اِهي مقرر ٿيل وقت آهن ماڻهن جي لاءِ ۽ حج جي لاءِ ۽ نيڪي اِها نہ آهي تہ توهان گهرن ۾ پٺين پاسي کان (ڇتين مٿان) اچو. بلڪ نيڪي اِها آهي تہ ماڻهو پرهيزگاري ڪري ۽ گهرن ۾ انهن جي دروازن مان اچو ۽ الله کان ڊڄو تہ جيئن توهان ڪامياب ٿيو. ۽ الله جي راهہ ۾ اُنهن ماڻهن سان وڙهو جيڪي توهان سان وڙهن ٿا ۽ زيادتي نہ ڪريو. الله زيادتي ڪرڻ وارن کي پسند نہ ٿو ڪري ۽ قتل

ڪيو انهن کي جتي ڪين لهو ۽ انهن کي اُتان ڪڍو جتان انهن توهان کي ڪڍيو آهي ۽ فتنو وڌيڪ سخت آهي قتل کان ۽ انهن سان مسجد حرام وٽ نہ وڙهو، جيستائين هو توهان سان اُتي جنگ نہ ڪن. پوءِ جيڪڏهن هو توهان سان جنگ ڪن تہ انهن کي قتل ڪيو. اِهائي سزا آهي منڪرن جي لاءِ. پوءِ جيڪڏهن هو بس ڪن تہ الله بخشڻ وارو، مهربان آهي. ۽ انهن سان جنگ ڪيو ايستائين جو فتنو باقي نہ رهي ۽ دين الله جو ٿي وڃي، پوءِ جيڪڏهن هو بس ڪن تہ ان کان پوءِ سختي نہ آهي، پر ظالمن تي. ١٨٩-١٩٣

---

چنڊ جو گهٽجڻ ۽ وڌڻ تاريخ ڄاڻڻ لاءِ آهي، نہ وري وهم پرستن جي خيال مطابق ان لاءِ تہ وڌندڙ چنڊ جا ڏينهن مبارڪ آهن ۽ گهٽجندڙ چنڊ جا ڏينهن منحوس. اِهو آسمان تي ظاهر ٿيڻ واري قدرت جي جنتري آهي، تہ جيئن ان کي ڏسي ماڻهو پنهنجن معاملن ۽ پنهنجن عبادتن جو نظام مقرر ڪن. اهڙيءَ طرح گهڻا ماڻهو ظاهري رسمن کي دينداري سمجهي وٺن ٿا. قديم عربن اِهو فرض ڪري ورتو هو تہ حج جو احرام ٻڌڻ کان پوءِ پنهنجي ۽ آسمان جي وچ ۾ ڪنهن شيءِ جو حائل ٿيڻ آداب احرام جي خلاف آهي. ان فرضي ڳالهہ جي ڪري هو ائين ڪندا هئا تہ جڏهن احرام ٻڌي گهر کان ٻاهر نڪرندا هئا تہ واپس موٽڻ وقت دروازي کان گهرن ۾ داخل نہ ٿيندا هئا، بلڪ پٺ ٽپي گهر جي اڱڻ ۾ داخل ٿيندا هئا. پر اهڙي قسم جي ظاهري آداب جو نالو دينداري نہ آهي. دينداري اِها آهي جو ماڻهو الله کان ڊڄي ۽ زندگي ۾ اُن جي مقرر ڪيل حدن جي پابندي ڪري.

مؤمن کي دين جو عامل بڻجڻ سان گڏ دين جو مجاهد بہ بڻجڻو آهي. هِتي جنهن جهاد جو ذڪر آهي، اُهو جهاد رسول الله ﷺ جي زماني ۾ پيش آيو. عرب جا مشرڪ حجت پوري ٿيڻ جي باوجود دعوتِ رسالت جو انڪار ڪري پنهنجي لاءِ زندگيءَ جو حق وڃائي ويٺا هئا ۽ انهن اڳرائي جي شروعات ڪري پنهنجي خلاف فوجي ڪارروائي کي درست ثابت ڪري ڇڏيو هو. ان ڪري انهن جي خلاف تلوار ڪڍڻ جو حڪم ٿيو. ”۽ انهن سان وڙهو ايستائين جو فتنو باقي نہ رهي ۽ دين الله جو ٿي وڃي“. ان جو مطلب اِهو آهي تہ سرزمين عرب مان شرڪ جو خاتمو ٿي وڃي ۽ دين توحيد کان سواءِ ٻيو ڪوبہ دين اُتي باقي نہ رهي. اُن حڪم جي ذريعي الله تعاليٰ سرزمين عرب کي توحيد جو دائمي مرڪز بڻائي ڇڏيو.

ايمان وارن کي جنگ جي اجازت صرف اُن وقت آهي جڏهن مخالف ڌر جي طرفان حملي جي شروعات ٿي چڪي هجي. ٻيو تہ جڏهن ايمان وارا فتح حاصل ڪري وٺن تہ اُن کان پوءِ ماضي تي ڪنهن جي لاءِ بہ سزا نہ آهي. هٿيار ڦٽا ڪندي ئي ماضي جا ڏوهہ معاف ڪيا ويندا، اُن کان پوءِ سزا جو مستحق صرف اُهو شخص هوندو جيڪو آئيندي ڪو قابلِ سزا جرم ڪري. عام حالتن ۾ قتل جو حڪم ٻيو آهي ۽ جنگي حالتن ۾ قتل جو حڪم ٻيو آهيو.

اَلشَّهۡرُ الۡحَرَامُ بِالشَّهۡرِ الۡحَرَامِ وَ الۡحُرُمٰتُ قِصَاصٌ ؕ فَمَنِ اعۡتَدٰی عَلَیۡکُمۡ
فَاعۡتَدُوۡا عَلَیۡہِ بِمِثۡلِ مَا اعۡتَدٰی عَلَیۡکُمۡ ۪ وَ اتَّقُوا اللّٰہَ وَ اعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰہَ مَعَ
الۡمُتَّقِیۡنَ ﴿۱۹۴﴾ وَ اَنۡفِقُوۡا فِیۡ سَبِیۡلِ اللّٰہِ وَ لَا تُلۡقُوۡا بِاَیۡدِیۡکُمۡ اِلَی التَّہۡلُکَۃِ ۚۛ وَ اَحۡسِنُوۡا ۚۛ اِنَّ مع عند المتقدمين ١٢
اللّٰہَ یُحِبُّ الۡمُحۡسِنِیۡنَ ﴿۱۹۵﴾

حرمت واري مهيني جو بدلو حرمت وارو مهينو آهي ۽ حرمتن جو بہ قصاص آهي. پوءِ جنهن توهان تي زيادتي
ڪئي توهان بہ ان تي اوتري ئي زيادتي ڪريو جيتري ان توهان تي ڪئي آهي ۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻي وٺو تہ الله
پرهيزگارن سان گڏ آهي. ۽ الله جي راهہ ۾ خرچ ڪريو ۽ پنهنجي پاڻ کي هلاڪت ۾ نہ وجهو ۽ ڪم سٺي
نموني ڪريو. بيشڪ الله تعاليٰ پسند ڪري ٿو سٺي نموني ڪم ڪرڻ وارن کي. ١٩٤-١٩٥

---

حرمت وارن مهينن ”محرم، رجب، ذوالقعده ۽ ذوالحج“ ۾ يا حرم مڪ جي حدن ۾ لڙائي گناهہ آهي. پر جيڪڏهن اسلام جا مخالف توهان جي خلاف ڪارروائي ڪرڻ جي لاءِ ان جي حرمت کي ٽوڙين تہ توهان کي بہ حق آهي تہ قصاص جي طور تي توهان بہ ان جي حرمت جو لحاظ نہ ڪريو. پر دشمن سان دشمني سبب توهان کي الله کان بي خوف نہ هئڻ گهرجي. ڪنهن حد کي ٽوڙڻ ۾ توهان پنهنجي طرفان ابتدا نہ ڪريو ۽ نہ ئي ڪو اهڙو ڪم ڪريو جيڪو حد کان وڌيل هجي. الله جي مدد ڪنهن کي اُن وقت ملندي آهي جڏهن هو اشتعال جي وقت ۾ بہ الله جي مقرر ڪيل حدن جو پابند رهي.

قصاص ۽ ظلم ۾ اِهو فرق آهي جو قصاص ٻئي فريق جي طرفان ڪيل زيادتي جي برابر ۽ اُن جيترو هوندو آهي. جڏهن تہ ظلم انهن حد بندين کان ٻاهر نڪري وڃڻ جو نالو آهي. هڪ ماڻهوءَ کي ڪنهن کان تڪليف پهچي تہ هو ٻئي کي اوتري ئي تڪليف پهچائي سگهي ٿو. جيتري هُن کي پهتي آهي. ان کان وڌيڪ جي اجازت نہ آهي. نصيحت بري لڳي تہ گار ۽ ٺٺول سان ان جو جواب ڏيڻ يا زبان ۽ قلم جي شڪايت جي بدلي ۾ اگرائي ڏيکارڻ تقويٰ جي سراسر خلاف آهي. اهڙيءَ طرح مالي نقصان جي بدلي جاني نقصان، معمولي ڏک جي بدلي وڏو ڏک، هڪ قتل جي بدلي گهڻن ماڻهن جو قتل، اهڙي قسم جون سڀ شيون ظلم جي تعريف ۾ اچن ٿيون. مسلمانن جي لاءِ برابر جو بدلو ”قصاص“ جائز آهي، پر ظلم ڪنهن بہ حال ۾ جائز نہ آهي.

الله جي راهہ ۾ جدوجهد سڀني کان وڌيڪ جنهن شيءِ جو تقاضو ڪري ٿي، اُهو مال آهي ۽ مال جي قرباني بيشڪ ماڻهوءَ جي لاءِ سڀني کان وڌيڪ مشڪل شيءِ آهي. اُن ڪري حڪم ڏنو ويو تہ الله جي ڪم کي پنهنجو ڪم سمجهي ڪري ان جي راهہ ۾ خوب مال خرچ ڪريو ۽ اُن جي ڪم کي بهتر کان بهتر صورت ۾ انجام ڏيو. ”پنهنجو پاڻ کي هلاڪت ۾ نہ وجهو“ مان مراد بُخل آهي. يعني ائين نہ ٿئي جو توهان الله جي راهہ ۾ خرچ نہ ڪريو، ڇاڪاڻ تہ خرچ ڪرڻ ۾ دل جو تنگ ٿيڻ دنيا ۽ آخرت جي بربادي آهي. ماڻهو مال خرچ ڪرڻ کي هلاڪت سمجهي ٿو، پر حقيقت اِها آهي تہ مال کي الله جي راهہ ۾ خرچ نہ ڪرڻ هلاڪت آهي. ماڻهو وٽ جيڪو ڪجهہ آهي جيڪڏهن هو اُن کي الله جي حوالي نہ ڪري تہ الله وٽ جيڪو ڪجهہ آهي هو ڇو ان ماڻهوءَ جي حوالي ڪندو.

ماڻهو پنهنجي دولت جو استعمال صرف اِهو سمجهي ٿو تہ هو ان کي پنهنجي ذات يا پنهنجن ٻار ٻچن تي خرچ ڪري. پر اهڙي سوچ کي قرآن هلاڪت ٻڌائي ٿو. اُن جي بدران دولت جو صحيح استعمال اِهو آهي تہ ان کي وڌ ۾ وڌ دين جي ضرورتن ۾ خرچ ڪيو وڃي. مال کي رڳو پنهنجي ذاتي خواهشن کي پورو ڪرڻ ۾ خرچ ڪرڻ، فرد ۽ سماج کي خدا جي غضب جو مستحق بڻائي ٿو. ان جي ابتڙ جڏهن مال کي الله جي دين جي راهہ ۾ خرچ ڪيو وڃي تہ فرد ۽ جماعت ٻئي الله جي رحمتن ۽ نصرتن جا مستحق بڻجي ويندا آهن. خرچ ڪرڻ واري کي اُن جو فائدو بيشمار صورتن ۾ دنيا ۾ بہ حاصل ٿيندو آهي ۽ آخرت ۾ بہ.

وَ اَتِمُّوا الْحَجَّ وَ الْعُمْرَةَ لِلّٰهِ ؕ فَاِنْ اُحْصِرْتُمْ فَمَا اسْتَيْسَرَ مِنَ الْهَدْيِ ۚ وَ لَا تَحْلِقُوْا
رُءُوْسَكُمْ حَتّٰى يَبْلُغَ الْهَدْيُ مَحِلَّهٗ ؕ فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ مَّرِيْضًا اَوْ بِهٖۤ اَذًى مِّنْ رَّاْسِهٖ
فَفِدْيَةٌ مِّنْ صِيَامٍ اَوْ صَدَقَةٍ اَوْ نُسُكٍ ۚ فَاِذَاۤ اَمِنْتُمْ ٚ فَمَنْ تَمَتَّعَ بِالْعُمْرَةِ اِلَى الْحَجِّ
فَمَا اسْتَيْسَرَ مِنَ الْهَدْيِ ۚ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ ثَلٰثَةِ اَيَّامٍ فِي الْحَجِّ وَ سَبْعَةٍ اِذَا
رَجَعْتُمْ ؕ تِلْكَ عَشَرَةٌ كَامِلَةٌ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ لَّمْ يَكُنْ اَهْلُهٗ حَاضِرِي الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ وَ
اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۱۹۶﴾ اَلْحَجُّ اَشْهُرٌ مَّعْلُوْمٰتٌ ۚ فَمَنْ فَرَضَ
فِيْهِنَّ الْحَجَّ فَلَا رَفَثَ وَ لَا فُسُوْقَ ۙ وَ لَا جِدَالَ فِي الْحَجِّ ؕ وَ مَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ يَّعْلَمْهُ
اللّٰهُ ؕ وَ تَزَوَّدُوْا فَاِنَّ خَيْرَ الزَّادِ التَّقْوٰى ۫ وَ اتَّقُوْنِ يٰۤاُولِي الْاَلْبَابِ ﴿۱۹۷﴾

۽ پورو ڪريو حج ۽ عمرو الله جي لاءِ. پوءِ جيڪڏهن روڪيا وڃو ته جيڪو قرباني جو جانور آساني سان ميسر هجي اهو پيش ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجا مٿا نه ڪوڙايو جيستائين قرباني پنهنجي جاءِ تي نه پهچي وڃي. توهان مان جيڪو بيمار هجي يا ان جي مٿي ۾ ڪا تڪليف هجي ته هو فديو ڏي روزي يا صدقي يا قرباني جو. جڏهن امن جي حالت هجي ۽ ڪو حج تائين عمري جو فائدو حاصل ڪرڻ چاهي ته هو قرباني پيش ڪري جيڪا ان کي ميسر هجي. پوءِ جنهن کي ميسر نه ٿئي ته هو حج جي ڏينهن ۾ ٽي ڏينهن روزا رکي ۽ ست ڏينهن جا روزا جڏهن توهان واپس گهر موٽو. اِهي پورا ڏهه ٿيا. اِهو ان ماڻهو لاءِ آهي جنهن جو خاندان مسجد حرام جي ويجهو آباد نه هجي. الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻي وٺو ته الله سخت عذاب ڏيڻ وارو آهي. حج جا مقرر مهينا آهن. پوءِ جنهن حج جو ارادو ڪري ورتو ته پوءِ ان کي حج جي دوران نه ڪا بيحيائيءَ جي ڳالهه ڪرڻي آهي ۽ نه گناهه جي، نه لڙائي، نه جهيڙي جي ۽ جيڪو نيڪ ڪم توهان ڪندؤ الله ان کي ڄاڻي وٺندو ۽ توهان پاڻ سان سمر کڻو. بهترين سمر تقويٰ آهي ۽ اي عقل وارؤ مون کان ڊڄو. ١٩٦-١٩٧

---

جاهليت واري زماني جي عربن ۾ به حج جو رواج هو، پر اهو انهن جي لاءِ ڄڻ ته هڪ قومي رسم يا تجارتي ميلو هو نه وري الله واحد جي عبادت. پر حج ۽ عمرو هجي يا ڪا ٻي عبادت، انهن جي اصل قيمت اُن ئي وقت آهي جڏهن اُهي خالص الله جي لاءِ ادا ڪيون وڃن. جيڪو شخص پنهنجي روزانه جي زندگيءَ ۾ الله جو پرستار بڻيل هجي، جڏهن هو الله جي عبادت جي لاءِ اٿندو آهي ته ان جي سڄي نفسيات سميٽجي الله جي طرف لڳي وڃي ٿي. هو هڪ اهڙي عبادت جو تجربو ڪري ٿو جيڪا ظاهري طور تي ڏسڻ ۾ ته آداب ۽ ارڪان جو هڪ مجموعو هوندي آهي، پر روحاني لحاظ کان اهو هڪ اهڙي هستي جو پنهنجي پاڻ کي الله جي حوالي ڪري ڇڏڻ هوندو آهي جيڪو الله کان ڊڄندو هجي. آخرت جي پڪڙ جو خُوف اُن جي زندگيءَ جو سڀني کان وڏو مسئلو بڻيل هجي.

مؤمن اُهو آهي جيڪو خواهش جي لاءِ جيئڻ جي بدران مقصد جي لاءِ جيئڻ لڳي. هو پنهنجن معاملن ۾ الله جي نافرماني کان بچڻ وارو هجي ۽ اجتماعي زندگي ۾ پاڻ ۾ لڙائي جهيڙي کان بچندو رهي. حج جو سفر انهن اخلاقي صفتن جي تربيت جي لاءِ گهڻو مناسب آهي، ان لاءِ ان ۾ خاص ڪري ان

جي تاڪيد ڪئي وئي آهي. اهڙيءَ طرح حج جي سفر جو پهلو ماڻهن کي سامانِ سفر جي اهتمام ۾ لڳائي ڇڏي ٿو، پر الله جي مسافر جو سيني کان وڏو سمر تقويٰ آهي. هڪڙو ماڻهو سامان سفر جي پوري اهتمام سان نڪري ۽ ٻيو شخص الله جي اعتماد جو سرمايو ڪٺي نڪري ته سفر دوران ٻنهي جي نفسيات هڪ جهڙي نٿي ٿي سگهي.

”اي عقل وارؤ! منهنجي تقويٰ اختيار ڪريو“. ان مان خبر پوي ٿي ته تقويٰ هڪ اهڙي شيءِ آهي جنهن جو تعلق عقل سان آهي. تقويٰ ڪنهن ظاهري شڪلِ ۾ صورت جو نالو نه آهي، اِها عقل يا شعور جي هڪ حالت آهي. انسان کي جڏهن شعور جي سطح تي اُن جو رب ملي ويجي ته پاڻهي جو ذهن الله جي جلال ۽ جمال سان ڀرجي وڃي ٿو. ان وقت روح جي لطيف سطح تي جيڪي ڪيفيتون پيدا ٿينديون آهن انهن جو نالو تقويٰ آهي.

لَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَبْتَغُوْا فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ فَاِذَاۤ اَفَضْتُمْ مِّنْ عَرَفٰتٍ فَاذْكُرُوا
اللّٰهَ عِنْدَ الْمَشْعَرِ الْحَرَامِ ۪ وَ اذْكُرُوْهُ كَمَا هَدٰىكُمْ ۚ وَ اِنْ كُنْتُمْ مِّنْ قَبْلِهٖ لَمِنَ
الضَّآلِّيْنَ ﴿۱۹۸﴾ ثُمَّ اَفِيْضُوْا مِنْ حَيْثُ اَفَاضَ النَّاسُ وَ اسْتَغْفِرُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ
رَّحِيْمٌ ﴿۱۹۹﴾ فَاِذَا قَضَيْتُمْ مَّنَاسِكَكُمْ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَذِكْرِكُمْ اٰبَآءَكُمْ اَوْ اَشَدَّ ذِكْرًا ؕ
فَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ رَبَّنَاۤ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا وَ مَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ مِنْ خَلَاقٍ ﴿۲۰۰﴾ وَ مِنْهُمْ
مَّنْ يَّقُوْلُ رَبَّنَاۤ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّ فِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۲۰۱﴾ النصف
اُولٰٓئِكَ لَهُمْ نَصِيْبٌ مِّمَّا كَسَبُوْا ؕ وَ اللّٰهُ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۲۰۲﴾ وَ اذْكُرُوا اللّٰهَ فِيْۤ اَيَّامٍ
مَّعْدُوْدٰتٍ ؕ فَمَنْ تَعَجَّلَ فِيْ يَوْمَيْنِ فَلَاۤ اِثْمَ عَلَيْهِ ۚ وَ مَنْ تَاَخَّرَ فَلَاۤ اِثْمَ عَلَيْهِ ۙ لِمَنِ
اتَّقٰى ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّكُمْ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿۲۰۳﴾

ان ۾ ڪوبه گناه نه آهي جو توهان پنهنجي رب جو فضل به تلاش ڪريو. پوءِ جڏهن توهان عرفات کان واپس ٿيو ته الله کي ياد ڪريو مشعر حرام جي ويجهو ۽ اُن کي ياد ڪريو جيئن الله ٻڌايو آهي. ان کان پهرين يقيناً توهان راهه کان ڀٽڪيل ماڻهن مان هئا. پوءِ طواف جي لاءِ هلو جتان سڀ ماڻهو هلن ٿا ۽ الله کان معافي گهرو. يقيناً الله بخشڻ وارو، رحم ڪرڻ وارو آهي. پوءِ جڏهن توهان پنهنجي حج جا **عمل** پورا ڪري وٺو ته الله کي ياد ڪريو، جهڙي طرح توهان پهرين پنهنجي اَبن ڏاڏن کي ياد ڪندا هئا، بلڪ ان کان به وڌيڪ. پوءِ ڪو ماڻهو چوي ٿو: اي اسان جا رب! اسان کي هِن ئي دنيا ۾ ڏئي ڇڏ ۽ آخرت ۾ ان جو ڪوبه حصو نه آهي. ۽ ڪو ماڻهو آهي جيڪو چوي ٿو اي اسان جا رب! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏي ۽ آخرت ۾ به ڀلائي ڏي ۽ اسان کي باهه جي عذاب کان بچاءِ. انهن ماڻهن لاءِ حصو آهي سندن ڪمائيءَ جو ۽ الله جلد حساب وٺڻ وارو آهي. ۽ الله کي ياد ڪريو مقرر ڏينهن ۾. پوءِ جيڪو شخص جلدي ڪري ٻن ڏينهن ۾ مڪي واپس اچي وڃي ته ان تي ڪو گناهه نه آهي ۽ جيڪو شخص ترسي پوي ان تي به ڪو گناهه نه آهي. اِهو اُن لاءِ آهي جيڪو الله کان ڊڄي ٿو ۽ توهان الله کان ڊڄندا رهو ۽ چڱي طرح ڄاڻي وٺو ته توهان اُن وٽ ئي جمع ڪيا ويندؤ. ۱۹۸-۲۰۳

اصل شيءِ الله جي تقويٰ آهي. ڪنهن جي اندر اِها گهربل حالت موجود هجي ته ان ڪان پوءِ حج جي دوران معاشي ضرورت جي لاءِ ان جو ڪجهه ڪاروبار ڪري وٺڻ يا حج جي ارڪان جي ادائگي ۾ ڪنهن جو اڳيان يا پويان ٿي وڃڻ ڪا حرج جي ڳالهه نه آهي. حج جي دوران جيڪا ڪيفيت جاري رهڻ کپي، اهو آهي الله جو خوف، الله جي ياد، الله جي نعمتن جو شڪر، الله جي لاءِ سپردگيءَ جو جذبو. حج جي دوران ڪو اهڙو عمل نه هئڻ گهرجي جيڪو انهن ڪيفيتن جي خلاف هجي. مثلاً ڪنهن شخص يا گروهه جي عبادت جي ادائگي ۾ امتياز ڪرڻ. ابن ڏاڏن جا ڪارناما بيان ڪرڻ جيڪي اڻ سڌي طرح پاڻ کي نمايان ڪرڻ جي هڪ صورت آهي. اِهي شيون هڪ اهڙي عبادت سان بي جوڙ آهن، جيڪا اِهو ٻڌائي ٿي ته سڀ انسان برابر آهن، جنهن ۾ ان ڳالهه جو اعلان ڪيو وڃي ٿو ته تمام وڏائي صرف الله جي لاءِ آهي. حج جي زماني ۾ به جيڪڏهن ماڻهو انهن شين جي تربيت حاصل نه ڪري ته زندگي جي باقي لمحن ۾ هو ڪهڙي طرح انهن تي قائم رهي سگهندو.

دعائون، خاص ڪري حج جون دعائون، ماڻهن جي اندر جي حالتن جو اظهار آهن. ڪو شخص آخرت جي عظمتن کي پنهنجي دل ۾ ڪٽي جيئندو هجي ته حج جي مقامن تي ان جي دل مان آخرت واريون دعائون پلٽجنديون. ان جي ابتڙ جيڪو شخص دنيا جي شين ۾ پنهنجي دل لڳائي ويٺو هجي، هو حج جي موقعي تي پنهنجي خدا کان سڀ کان وڌيڪ جيڪا شيءِ گهرندو، اُها اُهائي هوندي جنهن جي تڙپ ڪٽي ڪري هو اُتي پهتو هو ۽ سڀ کان بهتر دعا اِها آهي جو ماڻهو پنهنجي رب کي چوي ته اي خدا! دنيا ۾ تنهنجي نزديڪ جيڪا شيءِ بهتر هجي، اُها مون کي دنيا ۾ ڏئي ڇڏ ۽ آخرت ۾ تنهنجي نزديڪ جيڪا شيءِ بهتر هجي، اُها مون کي آخرت ۾ ڏئي ڇڏ ۽ پنهنجي عتاب کان مون کي بچاءِ.

”توهان اُن ئي وٽ جمع ڪيا ويندؤ“. اِهو حج جو سڀ کان وڏو سبق آهي جيڪو عرفات جي ميدان ۾ دنيا جي لکن انسانن کي هڪڙي ئي وقت ۾ جمع ڪري ڏنو ويندو آهي. عرفات جو اجتماع قيامت جي اجتماع جو هڪڙو مثال آهي.

وَ مِنَ النَّاسِ مَنۡ يُّعۡجِبُكَ قَوۡلُهٗ فِى الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا وَ يُشۡهِدُ اللّٰهَ عَلٰى مَا فِىۡ قَلۡبِهٖ ۙ وَ هُوَ اَلَدُّ الۡخِصَامِ ﴿٢٠٤﴾ وَ اِذَا تَوَلّٰى سَعٰى فِى الۡاَرۡضِ لِيُفۡسِدَ فِيۡهَا وَ يُهۡلِكَ الۡحَرۡثَ وَ النَّسۡلَ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يُحِبُّ الۡفَسَادَ ﴿٢٠٥﴾ وَ اِذَا قِيۡلَ لَهُ اتَّقِ اللّٰهَ اَخَذَتۡهُ الۡعِزَّةُ بِالۡاِثۡمِ فَحَسۡبُهٗ جَهَنَّمُ ؕ وَ لَبِئۡسَ الۡمِهَادُ ﴿٢٠٦﴾ وَ مِنَ النَّاسِ مَنۡ يَّشۡرِىۡ نَفۡسَهُ ابۡتِغَآءَ مَرۡضَاتِ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ رَءُوۡفٌۢ بِالۡعِبَادِ ﴿٢٠٧﴾

۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي جنهن جي ڳالهه دنيا جي زندگي ۾ تو کي پسند اچي ٿي ۽ هو پنهنجي دل جي ڳالهه تي الله کي شاهد بڻائي ٿو. حالانڪ هو سخت جهڳڙالو آهي. ۽ جڏهن هو واپس ٿئي ٿو ته هو ان ڪوشش ۾ رهي ٿو ته زمين ۾ فساد ڦهلائي ۽ پوک ۽ جانين کي تباهه ڪري. حالانڪ الله فساد کي پسند نه ٿو ڪري. ۽ جڏهن اُن کي چيو وڃي ٿو ته الله کان ڊڄ ته سندس تڪبر ان کي گناهه تي جمائي ڇڏي ٿو. پوءِ اهڙي شخص جي

لاءِ جهنم ڪافي آهي ۽ اِها وڏي بڇڙي جاءِ آهي ۽ ماڻهن ۾ ڪو اِهڙو آهي جيڪو الله جي خوشي جي تلاش ۾ پنهنجي جان کي وڪڻي ڇڏي ٿو ۽ الله پنهنجن ٻانهن تي وڏو مهربان آهي. ٢٠٤-٢٠٧

---

جيڪو شخص مصلحت کي پنهنجو دين بڻائي، ان جون ڳالهيون هميشه ماڻهن کي پليون لڳنديون آهن. ڇاڪاڻ ته هو ماڻهن جي پسند کي ڏسي اُن مطابق ڳالهائي ٿو، نه وري اِهو ڏسي ته حق ڇا آهي ۽ ناحق ڇا آهي. اُن جي سامهون ڪو مستقل معيار نه هوندو آهي. ان ڪري هو مخاطب جو لحاظ ڪندي هر اُهو انداز اختيار ڪري ٿو ونئي جيڪو مخاطب تي اثر وجهڻ وارو هجي. حق جو وفادار نه هئڻ ڪري ان جي لاءِ اِهو مشڪل نه ٿو رهي ته دل ۾ ڪو حقيقي جذبو نه هوندي به هو زبان مان خوبصورت ڳالهيون ڪري.

ائين ڇو ٿيندو آهي جو ڳالهين جي اسٽيج تي هو اصلاح ڪرڻ واري جي روپ ۾ نظر اچي ٿو ۽ عمل جي ميدان ۾ اُن جون ڪوششون فساد جو سبب بڻجي وڃن ٿيون. ان جي وجهه سندس شخصيت جو تضاد آهي. عملي نتيجا هميشه عمل سان پيدا ٿيندا آهن نه وري لفظن سان. هو جيتوڻيڪ زبان مان حق پرستيءَ جا لفظ ڳالهائي ٿو، پر عمل جي لحاظ کان هو جنهن سطح تي هوندو آهي، اُهو صرف ذاتي مفاد آهي. اِها شيءِ ان جي قول ۽ فعل ۾ فرق پيدا ڪري ڇڏي ٿي. ڳالهين ڪرڻ واري سطح کان هٽي جڏهن هو عمل جي سطح تي اچي ٿو ته اُن جي مفاد جا تقاضا اُن کي ڇڪي اهڙين سرگرمين ڏانهن وٺي وڃن ٿا جيڪي صرف فساد پيدا ڪرڻ واريون آهن. هتي هو پنهنجي ذاتي فائدي جي لاءِ ٻين جو استحصال ڪري ٿو. هو عوامي مقبوليت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ماڻهن کي جذباتي ڳالهين سان فريب ڏي ٿو. هو پنهنجي قيادت قائم ڪرڻ جي لاءِ سڄي قوم کي داءُ تي لڳائي ڇڏي ٿو. هو تعمير جي بجاءِ تخريب جي سياست ڪري ٿو، ڇاڪاڻ ته اهڙيءَ طرح وڌيڪ آسانيءَ سان عوام جو ميڙ پنهنجي چؤگرد جمع ڪري سگهجي ٿو. اِهي اُهي ماڻهو آهن جن دنيا جي مفاد ۽ مصلحت سان پنهنجي زندگيءَ جو سودو ڪيو. حق واضح ٿيڻ کان پوءِ به هو اُن کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿا ٿين، ڇاڪاڻ ته انهن کي اُن ۾ پنهنجي وڏائي جو بت ٽٽندي نظر اچي ٿو. ظاهري طور تي نرم ڳالهين جي پويان انهن جي تڪبر واري نفسيات انهن کي هڪ اهڙي حق جي داعي جي سامهون جهڪڻ کان روڪي ڇڏي ٿي جنهن کي هو پاڻ کان ننڍو سمجهن ٿا.

ٻيا اُهي ماڻهو آهن جيڪي الله جي رضا سان پنهنجي زندگيءَ جو سودو ڪن ٿا. اِهڙو شخص پنهنجن عادتن ۽ خيالن تان هٿ کڻي الله جي ڳالهين کي قبول ڪري ٿو. هو پنهنجي مال کي الله جي حوالي ڪري ان جي بدلي ۾ ٻي مال ٿيڻ منظور ڪري وٺي ٿو. هو رواجي دين کي رد ڪري الله جي خالص دين کي وٺي ٿو، چاهي اُن جي ڪري هن کي غير مقبوليت تي راضي ٿيڻو پوي، هو مصلحت پرستي جي بجاءِ اعلان حق کي پنهنجو طريقو بڻائي ٿو، جيتوڻيڪ ان جي نتيجي ۾ هو ماڻهن جي ظلم جو شڪار ٿيندو رهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ادْخُلُوْا فِي السِّلْمِ كَاۗفَّةً ۠ وَّلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ۭ اِنَّهٗ لَكُمْ
عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿٢٠٨﴾ فَاِنْ زَلَلْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا جَاۗءَتْكُمُ الْبَيِّنٰتُ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ

حَكِيْمٌ ﴿٢٠٩﴾ هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ يَّاْتِيَهُمُ اللّٰهُ فِيْ ظُلَلٍ مِّنَ الْغَمَامِ وَ الْمَلٰٓئِكَةُ وَ قُضِيَ
الْاَمْرُ ۭ وَ اِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿٢١٠﴾ سَلْ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ كَمْ اٰتَيْنٰهُمْ مِّنْ اٰيَةٍۢ بَيِّنَةٍ ۭ وَ
مَنْ يُّبَدِّلْ نِعْمَةَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٢١١﴾ زُيِّنَ لِلَّذِيْنَ
كَفَرُوا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا وَيَسْخَرُوْنَ مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۘ وَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا فَوْقَهُمْ يَوْمَ
الْقِيٰمَةِ ۭ وَ اللّٰهُ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٢١٢﴾

اي ايمان وارؤ! اسلام ۾ پورا پورا داخل ٿي وڃو ۽ شيطان جي قدمن تي نہ هلو، هو توهان جو پڌرو دشمن آهي. جيڪڏهن توهان ٿڙي وڃو ان کان پوءِ تہ توهان وٽ واضح دليل اچي چڪا آهن، چاڻي وٺو تہ الله زبردست آهي ۽ حڪمت وارو آهي. ڇا ماڻهو اُن انتظار ۾ آهن تہ الله ڪڪرن جي ڇانوَ ۾ اچي ۽ فرشتا بہ اچي وڃن ۽ معاملي جو فيصلو ڪري ڇڏجي ۽ سڀ معاملا الله ڏانهن ئي موٽايا وڃن ٿا. بني اسرائيل کان پُڇ، اسان اُنهن کي ڪيتريون واضح نشانيون ڏنيون ۽ جيڪو شخص الله جي نعمت کي بدلائي ڇڏي جڏهن تہ اُها هُن وٽ اچي چڪي هجي تہ الله يقينًا سخت سزا ڏيڻ وارو آهي. وٺندڙ ڪري ڏيکاري وئي آهي دنيا جي زندگي انهن ماڻهن جي نظر ۾ جيڪي منڪر آهن ۽ اهي ايمان وارن تي ٺٺوليون ڪن ٿا. حالانڪ جيڪي پرهيزگار آهن، اهي قيامت جي ڏينهن انهن جي مقابلي ۾ مٿانهان هوندا ۽ الله جنهن کي چاهي ٿو بي حساب روزي ڏي ٿو. ٢٠٨-٢١٢

---

اسلام کي اختيار ڪرڻ جي هڪ صورت اِها آهي تہ تحفظات ۽ دنياوي مصلحتن جو لحاظ ڪرڻ ڪانسواءِ اُن کي اپنايو وڃي. اسلام جنهن شيءِ کي ڪرڻ جو چوي ان کي ڪيو وڃي ۽ جنهن شيءِ کي ڇڏڻ لاءِ چئي ان کي ڇڏيو وڃي. اِهو ڪنهن شخص جو پوري جو پورو اسلام ۾ داخل ٿيڻ آهي. ٻي صورت اِها آهي تہ ماڻهو اسلام کي اُن حد تائين اختيار ڪري جنهن حد تائين اسلام هُن جي زندگيءَ سان ٽڪرائيندو نہ هجي. هو ان اسلام کي وٺي جيڪو هن جي لاءِ فائديمند يا گهٽ ۾ گهٽ نقصان ڏيندڙ نہ هجي ۽ اُن اسلام کي ڇڏي ڏي جيڪو ان جي محبوب عقيدن، اُن جي پسنديده عادتن، اُن جي دنياوي فائدن، اُن جي شخصي وقار، اُن جي فائداٽين مصلحتن کي نقصان رسائيندڙ هجي. ماڻهو شروع ۾ پوري ارادي سان اسلام کي اختيار ڪري ٿو، پر جڏهن اِهو وقت اچي ٿو تہ هو پنهنجي فڪري ڍانچي کي ٽوڙي يا پنهنجي دنياوي مفاد کي نظر انداز ڪري اسلام جو ساٿ ڏي تہ هو ڦري وڃي ٿو. پوءِ هو اِهڙي اسلام تي بيهي رهي ٿو جنهن ۾ هُن جي مفادن جو نقصان بہ نہ ٿئي ۽ اسلام جو تمغو بہ هٿان نہ وڃي.

اسلام جي پيغام جي صداقت تي يقين ڪرڻ جي لاءِ جيڪڏهن هو دليل گهرن ٿا تہ دليل پوري طرح ڏنا ويا آهن. جيڪڏهن هو چاهين ٿا تہ انهن کي معجزا ڏيکاريا وڃن تہ جيڪو شخص واضح دليلن کي نہ مڃي، ان کي مات ڪرائڻ لاءِ معجزا بہ ناڪافي ثابت ٿيندا. ان کان پوءِ آخري شيءِ جيڪا باقي رهي ٿي سا اِها آهي تہ الله پنهنجن فرشتن سان گڏ سامهون اچي وڃي. پر جڏهن ائين ٿيندو تہ اِهو ڪنهن جي ڪجهہ بہ ڪم نہ ايندو. ڇاڪاڻ تہ اُهو فيصلي جو وقت هوندو نہ وري عمل ڪرڻ جو. انسان جو امتحان اِهوئي آهي تہ هو ڏسڻ ڪانسواءِ دليل جي بنياد تي مڃي وٺي. جيڪڏهن هُن ڏسي مڃيو تہ اُن مڃڻ جي ڪا قيمت نہ آهي.

اُهي ماڻهو جيڪي مصلحتن ڪي نظر انداز ڪري اسلام ڪي اپنائين ٿا ۽ اُهي ماڻهو جيڪو مصلحتن جو لحاظ ڪندي مسلمان بڻجن ٿا. ٻنهي جون حالتون هڪ جهڙيون نہ هونديون آهن. پهريون گروهہ گهٽ ڪري دنياوي اهميت جي شين کان خالي ٿي ويندو آهي. جڏهن تہ ٻئي گروهہ وٽ هر قسم جون دنياوي رونقون جمع ٿي ويندون آهن. اِها شيءِ ٻئي گروهہ کي غلط فهمي ۾ وجهي ڇڏي ٿي. هو پنهنجي پاڻ کي مٿانهون تصور ڪرڻ لڳي ٿو ۽ پهرين گروهہ کي حقير سمجهڻ لڳي ٿو. پر اِها صورتحال انتهائي عارضي آهي. موجوده دنيا کي ٽوڙي جڏهن نئون ۽ بهتر نظام بڻايو ويندو تہ اُتي اڄ جا وڏا پست ڪيا ويندا ۽ اُهي ماڻهو وڏائي جي مقام تي نظر ايندا جن کي گهٽ سمجهيو ويو هو.

كَانَ النَّاسُ اُمَّةً وَّاحِدَةً ۟ فَبَعَثَ اللّٰهُ النَّبِيّٖنَ مُبَشِّرِيْنَ وَ مُنْذِرِيْنَ ۠ وَ اَنْزَلَ مَعَهُمُ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ لِيَحْكُمَ بَيْنَ النَّاسِ فِيْمَا اخْتَلَفُوْا فِيْهِ ؕ وَ مَا اخْتَلَفَ فِيْهِ اِلَّا الَّذِيْنَ اُوْتُوْهُ مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ بَغْيًۢا بَيْنَهُمْ ۚ فَهَدَى اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِمَا اخْتَلَفُوْا فِيْهِ مِنَ الْحَقِّ بِاِذْنِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۲۱۳﴾ اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ تَدْخُلُوا الْجَنَّةَ وَ لَمَّا يَاْتِكُمْ مَّثَلُ الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلِكُمْ ؕ مَسَّتْهُمُ الْبَاْسَآءُ وَ الضَّرَّآءُ وَ زُلْزِلُوْا حَتّٰى يَقُوْلَ الرَّسُوْلُ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ مَتٰى نَصْرُ اللّٰهِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ نَصْرَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ ﴿۲۱۴﴾

ماڻهو هڪڙي امت هئا. انهن اختلاف ڪيو تہ الله پيغمبرن کي موڪليو، خوشخبري ڏيڻ وارا ۽ ڊيڄارڻ وارا ۽ انهن سان گڏ نازل ڪيو ڪتاب حق سان تہ جيئن اهو فيصلو ڪري انهن ڳالهين جو جن ۾ ماڻهو اختلاف ڪري رهيا آهن ۽ اِهي اختلاف انهن ماڻهن ئي ڪيا جن کي حق ڏنو ويو هو، ان کان پوءِ جڏهن انهن وٽ واضح هدايتون اچي ويون هيون، پاڻ ۾ ضد جي ڪري. پوءِ الله پنهنجي توفيق سان حق جي معاملي ۾ ايمان وارن کي راهہ ڏيکاري جنهن ۾ هو جهڳڙو ڪري رهيا هئا ۽ الله جنهن کي چاهي ٿو سڌي راهہ ڏيکاري ٿو. ڇا توهان سمجهي ورتو آهي تہ توهان جنت ۾ داخل ٿي ويندؤ، حالانڪ اڃا توهان تي اُهي حالتون نہ گذريون آهن جيڪي توهان جي اڳين تي گذريون هيون. انهن کي سختي ۽ تڪليف پهتي ۽ ايستائين لوڏيا ويا جو رسول ۽ جن ايمان آندو هو سي چئي وينا تہ الله جي مدد ڪڏهن ايندي. ياد رکو! الله جي مدد ويجهي آهي. ٢١٣-٢١٤

---

دين ۾ اختلاف تعبير ۽ تشريح جي اختلاف سان شروع ٿيندو آهي. هرڪو پنهنجي ذهن مطابق خدا جي دين جو هڪ تصور قائم ڪري وٺي ٿو. هڪ ئي ڪتابِ هدايت کي مڃيندي بہ ماڻهن جا رايا ڌار ڌار ٿي ويندا آهن. اُن وقت الله پنهنجي چونڊيل ٻانهي جي ذريعي امر حق جو اعلان ڪرائيندو آهي. اِهو آواز جيتوڻيڪ انساني زبان ۾ هوندو آهي ۽ بظاهر عام ماڻهن جهڙي هڪ ماڻهوءَ جي ذريعي بلند ڪيو ويندو آهي. پوءِ جيڪي حق جي تلاش ۾ سچا آهن، اُهي ان جي اندر شامل خدائي پڪار کي سڃاڻي وٺندا آهن ۽ پنهنجا اختلاف وساري يڪدم ان آواز تي لبيڪ چوندا آهن. ٻئي پاسي اُهو طبقو آهي جيڪو پنهنجي هٿرادو دين سان پنهنجي پاڻ کي ايترو تہ وابستہ ڪري چڪو هوندو آهي جو ان ۾ اِهو جذبو اُڀري

ايندو آهي تہ آءٌ ٻئي جي ڳالھ ڇو مڃان. ان جي اندر ضد جي نفسيات پيدا ٿي ويندي آهي، ايتري قدر جو هو ان ئي حق جو انڪار ڪري ڇڏي ٿو جنهن جو هو پنهنجي خيال مطابق عَلَمبردار بڻيل هو.

حق جڏهن روشن دليلن سان گڏ اچي وڃي ۽ ان جي باوجود ماڻهو اُن جو ساٿ نہ ڏي تہ ان جي وجھ هميشہ اِها هوندي آهي جو ماڻهوءَ کي نظر اچي ٿو تہ ان جو ساٿ ڏيڻ ۾ ان جي خوش گمانين جو محل ڊهي پوندو، اُن جي مفادن جو نظام ٽٽي ويندو، اُن جي آسوده زندگي خطري ۾ پئجي ويندي، ان جو وقار باقي نہ رهندو. پر اِها ئي اُها شيءِ آهي جيڪا الله کي پنهنجن وفادار ٻانهن کان گهربل آهي. جنهن رستي جي مشڪلاتن کان گهٻرائجي ماڻهو ان تي اچڻ نہ ٿو چاهي، اُهوئي اهو رستو آهي جيڪو جنت ڏانهن وٺي وڃڻ وارو آهي. جنت جي واحد قيمت ماڻهوءَ جو پنهنجو وجود آهي. ماڻهو پنهنجي وجود کي فڪر ۽ عمل جي جنهن نقشي تي قائم ڪيو ويٺو آهي، اُتان کان هٽائي جڏهن هو ان کي خدا جي نقشي ۾ آڻڻ چاهي ٿو تہ اُن جي پوري شخصيت لڏي وڃي ٿي. ان ۾ ان وقت اچا وڌيڪ اضافو ٿي ويندو آهي جڏهن ان سان گڏ هو خدا جي دين جو داعي بڻجي ٻيهي رهي. داعي بڻجڻ ٻين لفظن ۾ ماڻهن جي مٿان نصيحت ڪرڻ وارو ۽ تنقيد ڪرڻ وارو بڻجڻ آهي ۽ پنهنجي خلاف نصيحت ۽ تنقيد کي ٻڌڻ هر زماني ۾ انسان جي لاءِ نفرت جي لائق امر رهيو آهي. ان جي نتيجي ۾ مدعو (ٻڌندڙ) جي طرفان ايترو تہ شديد رد عمل سامهون ايندو آهي جو داعيءَ جي لاءِ هڪ زلزلي کان گهٽ نہ هوندو آهي.

يَسْـَٔلُوْنَكَ مَا ذَا يُنْفِقُوْنَ ؕ قُلْ مَآ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ خَيْرٍ فَلِلْوَالِدَيْنِ وَ الْاَقْرَبِيْنَ وَ
الْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَ ابْنِ السَّبِيْلِ ؕ وَ مَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيْمٌ ﴿٢١٥﴾ كُتِبَ
عَلَيْكُمُ الْقِتَالُ وَ هُوَ كُرْهٌ لَّكُمْ ۚ وَ عَسٰٓى اَنْ تَكْرَهُوْا شَيْـًٔا وَّ هُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَ عَسٰٓى اَنْ
ع ٢٦ ١٠ تُحِبُّوْا شَيْـًٔا وَّ هُوَ شَرٌّ لَّكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ وَ اَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢١٦﴾ ع

ماڻهو توکان پڇن ٿا تہ ڇا خرچ ڪريون. چؤ تہ جيڪو مال توهان خرچ ڪريو ان ۾ حق آهي توهان جي ماءُ پيءُ جو ۽ رشتيدارن جو ۽ يتيمن جو ۽ محتاجن جو ۽ مسافرن جو ۽ جيڪا ڀلائي توهان ڪندؤ اُها الله کي معلوم آهي. توهان تي لڙائي جو حڪم ٿيو آهي ۽ اِهو توهان کي ناگوار لڳي ٿو. ٿي سگهي ٿو تہ توهان کي جيڪا شيءِ ناپسند هجي ۽ اها توهان جي لاءِ ڀلي هجي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ توهان جيڪا شيءِ پسند ڪريو ۽ اها توهان جي لاءِ بُري هجي ۽ الله ڄاڻي ٿو ۽ توهان نٿا ڄاڻو. ٢١٥-٢١٦

---

انسان سمجهي ٿو تہ اُن جي جان ۽ مال جي استعمال جي بهترين جاءِ ان جا ٻار ٻچا آهن. هو پنهنجي مال کي پنهنجن ذاتي حوصلن ۽ تمنائن ۾ لٽائي خوش ٿيندو آهي. ان جي ابتڙ شريعت چوي ٿي تہ پنهنجي جان ۽ مال کي الله جي راهہ ۾ خرچ ڪريو. اِهي ٻئي خرچ واريون جايون هڪ ٻئي کان بلڪل مختلف آهن. هڪ پنهنجي پاڻ مٿان خرچ ڪرڻ آهي ۽ ٻيو غيرن جي مٿان. هڪ پنهنجي طاقت کي دنيا جي ظاهري شين کي حاصل ڪرڻ ۾ لڳائڻو آهي ۽ ٻيو آخرت جي نظر نہ ايندڙ شين تي. پر انسان کي جيڪا شيءِ ناپسند آهي، اُهائي الله جي نظر ۾ ڀلائي آهي، ڇاڪاڻ تہ هو ان جي اچڻ واري وسيع تر زندگي ۾ اُن کي نفعو ڏيڻ واري آهي ۽ انسان کي جيڪا شيءِ پسند آهي، اُها الله جي نظر ۾ برائي آهي.

چاڪاڻ ته اُن جو جيڪو به فائدو آهي اُهو هِن عارضي دنيا ۾ آهي. آخرت ۾ اُن مان ڪنهن کي به ڪجھ ملڻ وارو نه آهي.

اِهوئي اصول زندگي جي سيني معاملن جي لاءِ صحيح آهي. ماڻهو آزاد ۽ بي قيد زندگيءَ کي پسند ڪري ٿو، حالانڪ اُن جي ڀلائي اُن ۾ آهي ته هو پنهنجي پاڻ کي الله جي رسي ۾ ٻڌل رکي. ماڻهو پنهنجي تعريف ڪرڻ واري کي دوست ٻڌائي ٿو، حالانڪ ان جي لاءِ وڌيڪ بهتر اِهو آهي ته هو اُن شخص کي پنهنجو دوست ٻڌائي جيڪو هن کي سندس غلطيون ٻڌائي. ماڻهو هڪ حق کي مڃڻ کان انڪار ڪندو آهي ۽ خوش ٿيندو آهي ته اهڙيءَ طرح هُن ماڻهن جي نظر ۾ پنهنجي عزت کي بچائي ورتو. حالانڪ اُن جي لاءِ وڌيڪ بهتر اِهو هو ته هو پنهنجي عزت کي خطري ۾ وجهي ڪليل دل سان حق جو اعتراف ڪري. ماڻهو محنت ۽ قربانيءَ واري دين جو چاهه نه ٿو رکي ۽ اُن دين کي وٺي ٿو جنهن ۾ معمولي ڳالهين تي جنت جي خوشخبري ملي رهي هجي. حالانڪ هُن جي لاءِ وڌيڪ بهتر اِهو هو ته محنت ۽ قرباني واري دين کي اختيار ڪري ها. ماڻهو ”زندگي“ جي مسئلن کي اهميت ڏي ٿو، حالانڪ وڏي عقلمندي اِها آهي ته ماڻهو ”موت“ جي مسئلن کي اهميت ڏي.

”الله ڄاڻي ٿو ۽ توهان نٿا ڄاڻو“ جو مطلب اِهو آهي ته الله انهن سطحي جذبن ۽ محرڪات کان بلند آهي جن کان بلند نه هئڻ جي ڪري انسان جي راءِ متاثر راءِ ٻڻجي وڃي ٿي. هو صحيح رخ کي ڇڏي غلط رخ ڏانهن مُڙي وڃي ٿو. الله جو فيصلو هر قسم جي غير متعلق شين جي ملاوٽ کان پاڪ هوندو آهي. اُهو خالص فيصلو آهي. اُن ڪري اُن جي برحق هجڻ ۾ ڪو به شڪ نه آهي. انساني فيصلا مختلف قسمن جي نفسياتي مونجهارن کان مغلوب رهندا آهن. هو پست محرڪات جي اثر هيٺ راءِ قائم ڪري ٿو. ان ڪري انسان جي راءِ گهڻو ڪري نه برحق هوندي آهي ۽ نه ئي حالتن مطابق هوندي آهي. خدا جيڪو چوي ان کي ئي توهان حق سمجھو ۽ ان جي مقابلي ۾ پنهنجو خيال ڇڏي ڏيو.

يَسۡـَٔلُوۡنَكَ عَنِ الشَّهۡرِ الۡحَرَامِ قِتَالٍ فِيۡهِ ؕ قُلۡ قِتَالٌ فِيۡهِ كَبِيۡرٌ ؕ وَ صَدٌّ عَنۡ سَبِيۡلِ
اللّٰهِ وَكُفۡرٌۢ بِهٖ وَ الۡمَسۡجِدِ الۡحَرَامِ ۗ وَ اِخۡرَاجُ اَهۡلِهٖ مِنۡهُ اَكۡبَرُ عِنۡدَ اللّٰهِ ۚ وَ الۡفِتۡنَةُ
اَكۡبَرُ مِنَ الۡقَتۡلِ ؕ وَ لَا يَزَالُوۡنَ يُقَاتِلُوۡنَكُمۡ حَتّٰى يَرُدُّوۡكُمۡ عَنۡ دِيۡنِكُمۡ اِنِ
اسۡتَطَاعُوۡا ؕ وَ مَنۡ يَّرۡتَدِدۡ مِنۡكُمۡ عَنۡ دِيۡنِهٖ فَيَمُتۡ وَ هُوَ كَافِرٌ فَاُولٰٓـئِكَ حَبِطَتۡ
اَعۡمَالُهُمۡ فِى الدُّنۡيَا وَ الۡاٰخِرَةِ ۚ وَ اُولٰٓـئِكَ اَصۡحٰبُ النَّارِ ۚ هُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿٢١٧﴾ اِنَّ
الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَالَّذِيۡنَ هَاجَرُوۡا وَ جٰهَدُوۡا فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ ۙ اُولٰٓـئِكَ يَرۡجُوۡنَ رَحۡمَتَ اللّٰهِ ؕ
وَاللّٰهُ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿٢١٨﴾

ماڻهو توکان حرمت واري مهيني بابت پڇندا آهن ته ان ۾ لڙائي ڪرڻ ڪيئن آهي. چئو ته اُن ۾ وڙهڻ تمام برو آهي. پر الله جي رستي کان روڪڻ ۽ ان جو انڪار ڪرڻ ۽ مسجد حرام کان روڪڻ ۽ اُن جي ماڻهن کي اُتان ڪيڻ، الله وٽ اُن کان به وڌيڪ برو آهي. ۽ فتنو قتل کان به وڏي برائي آهي ۽ اِهي ماڻهو توهان سان هميشه

وڙهندا رهندا. ايستائين جو توهان کي توهان جي دين کان ڦيري ڇڏين جيڪڏهن توهان تي قابو پائين ۽ توهان
مان جيڪو پنهنجي دين کان ڦرندو ۽ ڪفر جي حالت ۾ مري ويندو ته اهڙن ماڻهن جا عمل ضايع ٿي ويا دنيا ۾ ۽
آخرت ۾ به ۽ هو باهه ۾ پوڻ وارا آهن. هو ان ۾ هميشه رهندا. اهي ماڻهو جن ايمان آندو ۽ جن هجرت ڪئي ۽ الله
جي راهه ۾ جهاد ڪيو، هو الله جي رحمت جا اميدوار آهن. الله بخشڻ وارو مهربان آهي. ٢١٧-٢١٨

---

رجب سنه ٢ هه ۾ اهو واقعو پيش آيو ته مسلمانن جي هڪ جماعت ۽ قريش جي مشرڪن هڪ جماعت جي وچ ۾ ٽڪراءُ ٿي پيو. اهو واقعو مڪي ۽ طائف جي وچ ۾ نخله ۾ پيش آيو. قريش جو هڪ ماڻهو مسلمانن جي هٿان مارجي ويو. مسلمانن جو خيال هو ته هي جمادي الثاني جي ٣٠ تاريخ آهي، پر چنڊ ٢٩ جو ٿي ويو ۽ اها رجب جي پهرين تاريخ ٿي وئي. رجب جو مهينو حرمت وارن مهينن ۾ شمار ٿيندو آهي ۽ صدين جي رواج جي ڪري ان معاملي تي عربن جا جذبا گهڻا شديد هئا. اهڙيءَ طرح مخالفن کي موقعو ملي ويو ته هو مسلمانن ۽ رسول الله ﷺ کي بدنام ڪن ته اهي ماڻهو حق پرستي کان ايترو ته پري آهن جو حرمت وارن مهينن جي حرمت جو به خيال نه ٿا ڪن. جواب ۾ چيو ويو ته حرمت وارن مهينن ۾ وڙهڻ يقينًا گناهه آهي. پر مسلمانن کان اهو ڪم پل مان ۽ اتفاقًا ٿي ويو ۽ توهان ماڻهن جو اهو حال آهي جو ڄاڻي واڻي ۽ مستقل طور تي ان کان به وڏا جرم ڪري رهيا آهيو. توهان جي وچ ۾ الله جي پڪار بلند ٿي آهي، پر توهان ان کي مڃڻ کان انڪار ڪري رهيا آهيو ۽ ٻين کي به ان کي اختيار ڪرڻ کان روڪيو ٿا. توهان جي ضد ۽ دشمني جو اهو حال آهي ته الله جي ٻانهن مٿان الله جي گهر جو دروازو بند ڪريو ٿا. انهن کي انهن جي پنهنجن گهرن مان نڪري وڃڻ تي مجبور ڪريو ٿا. ايستائين جو جيڪي ماڻهو الله جي دين ڏانهن وڌن ٿا انهن کي مختلف طريقن سان ستائيندا آهيو، ته جيئن هو ان دين کي ڇڏي ڏين. جڏهن ته ڪنهن کي الله جي رستي کان هٽائڻ ان کي قتل ڪرڻ کان به وڌيڪ برو آهي. الله جي ويجهو اهو ڏاڍو ڏوهه آهي ته ماڻهو پاڻ وڏين براين ۾ مبتلا هجي ۽ ٻئي جي هڪ معمولي خطا سبب ان کي مشهور ڪري ان کي بدنام ڪري.

مخالفتن جو اهو نتيجو هوندو آهي جو اهل ايمان کي پنهنجا گهر ڇڏڻا پون ٿا. دين تي قائم رهڻ جي لاءِ انهن کي جهاد جي حد تائين وڃڻو پوي ٿو. پر موجوده دنيا ۾ ائين هئڻ ضروري آهي ته جيئن خدا پرستن ۽ خدا جي دشمنن ۾ فرق ڪري سگهجي. اهڙيءَ طرح هڪ پاسي اهو ثابت ٿيندو آهي ته اهي ڪير ماڻهو آهن جيڪي الله جا نه بلڪ پنهنجي ذات جا پوڄاري آهن. جيڪي پنهنجن ذاتي مفادن لاءِ الله کان بي خوف ٿي الله جي ٻانهن کي ستائين ٿا. ٻئي پاسي ان ئي واقعي جي وچ ۾ ايمان ۽ هجرت ۽ جهاد جون نيڪيون ظهور ۾ اچن ٿيون. ان مان معلوم ٿيندو آهي ته اهي ڪير ماڻهو آهن جن شديد حالتن جي باوجود الله تي ڀروسي کي باقي رکيو ۽ ڪنهن ان کي وڃائي ڇڏيو.

يَسۡـَٔلُوۡنَكَ عَنِ الۡخَمۡرِ وَ الۡمَيۡسِرِ‌ؕ قُلۡ فِيۡهِمَآ اِثۡمٌ كَبِيۡرٌ وَّ مَنَافِعُ لِلنَّاسِ وَاِثۡمُهُمَآ
اَكۡبَرُ مِنۡ نَّفۡعِهِمَا‌ؕ وَيَسۡـَٔلُوۡنَكَ مَاذَا يُنۡفِقُوۡنَ ؕ قُلِ الۡعَفۡوَ‌ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَـكُمُ
الۡاٰيٰتِ لَعَلَّكُمۡ تَتَفَكَّرُوۡنَۙ‏ ٢١٩ فِى الدُّنۡيَا وَالۡاٰخِرَةِ‌ؕ وَيَسۡـَٔلُوۡنَكَ عَنِ الۡيَتٰمٰى‌ؕ قُلۡ

اِصۡلَاحٌ لَّهُمۡ خَيۡرٌ ؕ وَ اِنۡ تُخَالِطُوۡهُمۡ فَاِخۡوَانُكُمۡ ؕ وَ اللّٰهُ يَعۡلَمُ الۡمُفۡسِدَ مِنَ الۡمُصۡلِحِ ؕ وَلَوۡ شَآءَ اللّٰهُ لَاَعۡنَتَكُمۡ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيۡزٌ حَكِيۡمٌ ﴿٢٢٠﴾

ماڻهو توکان شراب ۽ جوئا بابت پڇن ٿا. چئو ته انهن ٻنهي شين ۾ وڏو گناهه آهي ۽ ماڻهن جي لاءِ ڪجهه فائدا به آهن ۽ انهن جو گناهه تمام گهڻو آهي انهن جي فائدي کان ۽ هو توکان پڇن ٿا ته ڇا خرچ ڪريون. چئو ته جيڪو به ضرورت کان وڌيڪ هجي. اهڙيءَ طرح الله توهان جي لاءِ حڪمن کي بيان ڪري ٿو ته جيئن توهان ڌيان ڪريو دنيا ۽ آخرت جي معاملن ۾ ۽ هو توکان يتيمن بابت پڇن ٿا. چئو ته جنهن ۾ انهن جو سُڌارو هجي اُهو ڪرڻ چڱو آهي ۽ جيڪڏهن توهان انهن کي پاڻ سان گڏ شامل ڪري وٺو ته اُهي توهان جا ڀائر آهن ۽ الله کي خبر آهي ته ڪير خرابي پيدا ڪرڻ وارو آهي ۽ ڪير اصلاح ڪرڻ وارو آهي ۽ جيڪڏهن الله چاهي ها ته توهان کي مشڪل ۾ وجهي ڇڏي ها. الله زبردست آهي حڪمت وارو آهي. ٢١٩-٢٢٠

---

ڪجهه سوالن جا جواب ڏيندي هِتي ڪجهه بنيادي اصول ٻڌايا ويا آهن: (١) ڪنهن شيءِ جو نقصان جيڪڏهن اُن جي فائدي کان وڌيڪ هجي ته اهو قابلِ ترڪ آهي (٢) پنهنجي حقيقي ضرورت کان وڌيڪ جيڪو مال هجي ان کي الله جي راهه ۾ ڏئي ڇڏڻ کپي (٣) معاملن ۾ اهڙن طريقن کان بچڻ گهرجي جيڪي خرابيءَ جو سبب بڻجن ۽ اهڙن طريقن کي اختيار ڪرڻ گهرجي جيڪي اصلاح پيدا ڪرڻ وارا هجن.

شراب پيئڻ سان ماڻهوءَ کي سرور حاصل ٿيندو آهي. جُوئا کيڏڻ واري کي ڪڏهن محنت کانسواءِ ڪافي دولت هٿ اچي ويندي آهي. اُن لحاظ کان انهن شين ۾ نفعي جو پهلو آهي، پر ٻئي لحاظ کان انهن ۾ ديني ۽ اخلاقي نقصان آهن ۽ اِهي نقصان انهن جي نفعي کان تمام وڌيڪ آهن. اُن ڪري انهن کان منع ڪئي وئي آهي. ڪنهن شيءِ کي وٺڻ يا نه وٺڻ جو اُهوئي معيار زندگي جي ٻين ڪمن جي لاءِ به آهي. مثلاً اُهي سڀ سياسي ۽ غير سياسي سرگرميون، اُهي سڀ تقريبون ۽ جلسا قابل ترڪ آهن جن جي باري ۾ ديني ۽ اقتصادي جائزو ٻڌائي ته انهن ۾ فائدو گهٽ ۽ نقصان وڌيڪ آهي.

مسلمان اُهو آهي جيڪو آخرت کي پنهنجي منزل بڻائي، جيڪو ان ترتيب سان گڏ پنهنجي صبح ۽ شام گذاري رهيو هجي، ته جيئن هن جو خدا هن کان راضي ٿي وڃي. اِهڙي شخص جي لاءِ دنيا جو ساز ۽ سامان زندگي جي ضرورت آهي، نه وري زندگي جو مقصد. هو مال حاصل ڪري ٿو، هو دنيا جي ڪمن ۾ مصروف هوندو آهي. پر اُهو سڀ ڪجهه ان جي لاءِ حاجت ۽ ضرورت جي درجي ۾ هوندو آهي، نه وري مقصد جي درجي ۾. ان جي سرمائي ۾ جيڪا شيءِ ان جي اصل ضرورت کان وڌيڪ هجي، ان جو بهترين استعمال ان جي ويجهو اِهو هوندو آهي ته هو ان کي پنهنجي رب جي راهه ۾ ڏئي ڇڏي، ته جيئن هو اُن کان راضي ٿئي ۽ اُن کي پنهنجن رحمتن جي ڇانو ۾ جڳهه ڏي. ان جي هر شيءِ بقدرِ ضرورت پنهنجي لاءِ هوندي آهي ۽ ضرورت کان وڌيڪ جيڪا به آهي اُها دين جي لاءِ.

پاڻ ۾ معاملا ۽ ڪاروباري مسئلا ايترا ته منجهيل هوندا آهن جو انهن جي باري ۾ صرف بنيادي هدايت ڏئي سگهجي ٿي، انهن جي سيني عملي تفصيلن کي قانوني لفظن ۾ مقرر نه ٿو ڪري سگهجي. اُن سلسلي ۾ اِهو اصول مقرر ڪيو ويو ته پنهنجي نيت کي درست رکو ۽ جيڪا ڪارروائي ڪيو اُها سوچي ڪريو ته اُها ڪنهن خرابيءَ جو سبب نه بڻجي، بلڪ صاحب معاملہ جي حق ۾ بهتري پيدا ڪرڻ

واري هجي. جيڪڏهن توهان ٻئي کي پنهنجو ياءُ سمجهندي اُن جي ڀلائيءَ جو پورو خيال رکندؤ ۽ توهان جو مقصد صرف اصلاح ۽ درستگي هوندو ته الله وٽ توهان جي پڪڙ نه ٿيندي.

وَ لَا تَنۡكِحُوا الۡمُشۡرِكٰتِ حَتّٰى يُؤۡمِنَّ ؕ وَ لَاَمَةٌ مُّؤۡمِنَةٌ خَيۡرٌ مِّنۡ مُّشۡرِكَةٍ وَّ لَوۡ
اَعۡجَبَتۡكُمۡ ۚ وَلَا تُنۡكِحُوا الۡمُشۡرِكِيۡنَ حَتّٰى يُؤۡمِنُوۡا ؕ وَلَعَبۡدٌ مؤمن خَيۡرٌ مِّنۡ مُّشۡرِكٍ وَّ
لَوۡ اَعۡجَبَكُمۡ ؕ اُولٰٓئِكَ يَدۡعُوۡنَ اِلَى النَّارِ ۖۚ وَ اللّٰهُ يَدۡعُوۡٓا اِلَى الۡجَنَّةِ وَ الۡمَغۡفِرَةِ بِاِذۡنِهٖ ۚ وَ
ع ۲۷ ۱۱ يُبَيِّنُ اٰيٰتِهٖ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمۡ يَتَذَكَّرُوۡنَ ﴿۲۲۱﴾ وَ يَسۡـَٔلُوۡنَكَ عَنِ الۡمَحِيۡضِ ؕ قُلۡ هُوَ اَذًى ۙ
فَاعۡتَزِلُوا النِّسَآءَ فِى الۡمَحِيۡضِ ۙ وَ لَا تَقۡرَبُوۡهُنَّ حَتّٰى يَطۡهُرۡنَ ۚ فَاِذَا تَطَهَّرۡنَ فَاۡتُوۡهُنَّ
مِنۡ حَيۡثُ اَمَرَكُمُ اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيۡنَ وَ يُحِبُّ الۡمُتَطَهِّرِيۡنَ ﴿۲۲۲﴾ نِسَآؤُكُمۡ
حَرۡثٌ لَّكُمۡ ۖ فَاۡتُوۡا حَرۡثَكُمۡ اَنّٰى شِئۡتُمۡ ۫ وَقَدِّمُوۡا لِاَنۡفُسِكُمۡ ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعۡلَمُوۡٓا
اَنَّكُمۡ مُّلٰقُوۡهُ ؕ وَبَشِّرِ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۲۲۳﴾

۽ مشرڪ عورتن سان نڪاح نه ڪريو جيستائين اهي ايمان نه آڻين ۽ مؤمن ٻانهي بهتر آهي هڪ مشرڪ عورت کان، جيتوڻيڪ هو توهان کي پسند هجي ۽ پنهنجن عورتن کي مشرڪ مردن جي نڪاح ۾ نه ڏيو جيستائين اهي ايمان نه آڻين. مؤمن غلام بهتر آهي هڪ آزاد مشرڪ کان، جيتوڻيڪ هو توهان کي پسند هجي. اِهي ماڻهو باھ ڏانهن سڏين ٿا ۽ الله جنت ڏانهن ۽ پنهنجي بخشش ڏانهن سڏي ٿو. هو پنهنجا حڪم ماڻهن جي لاءِ کولي بيان ڪري ٿو ته جيئن هو نصيحت حاصل ڪن ۽ هو توکان حيض جو حڪم پڇن ٿا. چؤ ته اِها هڪ گندگي آهي، ان ۾ عورتن کان الڳ رهو ۽ جيستائين اهي پاڪ نه ٿي وڃن انهن جي ويجهو نه وڃو. پوءِ جڏهن اهي چڱيءَ طرح پاڪ ٿي وڃن ته ان طريقي سان انهن وٽ وڃو جنهن جو الله توهان کي حڪم ڏنو آهي. الله دوست رکي ٿو توبهه ڪرڻ وارن کي ۽ دوست رکي ٿو پاڪ رهڻ وارن کي. توهان جون زالون توهان جي کيتي آهن، پوءِ جهڙي طرح چاهيو پنهنجي کيتي ۾ اچو ۽ پاڻ لاءِ اڳتي موڪليو ۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻي وٺو ته توهان کي ضرور ان سان ملڻو آهي ۽ ايمان وارن کي خوشخبري ٻڌائي ڇڏيو. ۲۲۱-۲۲۳

---

مرد ۽ عورت جڏهن نڪاح جي ذريعي هڪ ٻئي جا ساٿي ٻڻجن ٿا ته ان جو اصل مقصد شهوت پوري ڪرڻ نه هوندو آهي، بلڪ هي اهڙي قسم جو هڪ با مقصد تعلق آهي جيڪو هاري ۽ پوک جي وچ ۾ هوندو آهي. ان ۾ ماڻهوءَ کي ايتروئي سنجيده هئڻ گهرجي جيترو پوک جو منصوبو ٺاهڻ وارو سنجيده هوندو آهي. هِن سلسلي ۾ ڪجھ ڳالهين جو لحاظ رکڻ ضروري آهي.

هڪ اِهو ته جوڙي جي چونڊ ۾ سڀني کان وڌيڪ جنهن شيءِ کي ڏٺو وڃي اِهو ايمان آهي. زال ۽ مڙس جو تعلق بيحد نازڪ تعلق آهي. ان جا گهٽائي نفسياتي، خانداني ۽ سماجي رخ آهن. هِن قسم جو تعلق ٻن انسانن جي وچ ۾ جيڪڏهن اعتقادي هڪ جهڙائي ڪانسواءِ هوندو ته نيٺ اُهو ٻنهي مان ڪنهن هڪ جي برباديءَ جو سبب بڻجندو. هڪ مؤمن پنهنجي غيرمؤمن جوڙي سان اعتقادي ٺاھ ڪري وٺي ته اُن جو مطلب اِهو آهي ته هن پنهنجي دين کي برباد ڪري ورتو ۽ جيڪڏهن هو ٺاھ نه ڪري ته ان کان پوءِ

پنهي ۾ جيڪا ڪشمڪش پيدا ٿيندي اُن جي نتيجي ۾ هن جو گهر برباد ٿي ويندو. ٻي شيءِ اِها آهي تہ پنهي جنسن جو اهو تعلق خدا جي بناوٽ جي مطابق پنهنجي فطري ڍنگ تي قائم هجي. فطرت بہ خدا جو حڪم آهي. قرآن ۾ ٻڌايل حڪمن جي پابندي جهڙي طرح ضروري آهي، اهڙيءَ طرح فطري نظام جي پابندي بہ ضروري آهي. جيڪو خدا تخليقي طور تي اسان جي لاءِ ٺاهيو آهي. ٽين شيءِ اِها آهي تہ هر مرحلي ۾ ماڻهوءَ جي مٿان الله جو خوف غالب رهي. هو جيڪو بہ رويو اختيار ڪري اِهو سوچي ڪري تہ نيٺ اُن کي رب العالمين وٽ وڃڻو آهي، جيڪو ڪليل ۽ لڪيل ۾ هر شيءِ کان باخبر آهي. ”۽ پنهنجي لاءِ اڳيان موڪليو“ جو مطلب اِهو آهي تہ پنهنجي آخرت جي لاءِ صالح عمل موڪليو. يعني جيڪو ڪجهہ ڪريو اِهو سمجهي ڪريو تہ توهان جو ڪوبہ ڪم صرف دنياوي ڪم نہ آهي، بلڪ هر ڪم جو هِڪ آخرت وارو پهلو بہ آهي. مرڻ کان پوءِ توهان پنهنجي اُن آخرت واري پهلو سان منهن مقابل ٿيڻ وارا آهيو. توهان کي هِن معاملي ۾ انتهائي هوشيار رهڻ کپي تہ توهان جو عمل آخرت جي پيماني ۾ صالح عمل قرار ڏنو وڃي، نہ وري غير صالح عمل.

وَلَا تَجۡعَلُوا اللّٰهَ عُرۡضَةً لِّاَيۡمَانِكُمۡ اَنۡ تَبَرُّوۡا وَتَتَّقُوۡا وَتُصۡلِحُوۡا بَيۡنَ النَّاسِ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيۡعٌ
عَلِيۡمٌ ﴿۲۲۴﴾ لَا يُؤَاخِذُكُمُ اللّٰهُ بِاللَّغۡوِ فِىۡۤ اَيۡمَانِكُمۡ وَلٰـكِنۡ يُّؤَاخِذُكُمۡ بِمَا كَسَبَتۡ قُلُوۡبُكُمۡ ؕ
وَاللّٰهُ غَفُوۡرٌ حَلِيۡمٌ ﴿۲۲۵﴾ لِلَّذِيۡنَ يُؤۡلُوۡنَ مِنۡ نِّسَآٮِٕهِمۡ تَرَبُّصُ اَرۡبَعَةِ اَشۡهُرٍ ۚ فَاِنۡ فَآءُوۡ فَاِنَّ
اللّٰهَ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۲۲۶﴾ وَاِنۡ عَزَمُوا الطَّلَاقَ فَاِنَّ اللّٰهَ سَمِيۡعٌ عَلِيۡمٌ ﴿۲۲۷﴾ وَالۡمُطَلَّقٰتُ يَتَرَبَّصۡنَ
بِاَنۡفُسِهِنَّ ثَلٰثَةَ قُرُوۡٓءٍ ؕ وَلَا يَحِلُّ لَهُنَّ اَنۡ يَّكۡتُمۡنَ مَا خَلَقَ اللّٰهُ فِىۡۤ اَرۡحَامِهِنَّ اِنۡ كُنَّ
يُؤۡمِنَّ بِاللّٰهِ وَالۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ ؕ وَبُعُوۡلَتُهُنَّ اَحَقُّ بِرَدِّهِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ اِنۡ اَرَادُوۡۤا اِصۡلَاحًا ؕ وَلَهُنَّ
۲۸ ع ۷ ۱۲ مِثۡلُ الَّذِىۡ عَلَيۡهِنَّ بِالۡمَعۡرُوۡفِ ۖ وَلِلرِّجَالِ عَلَيۡهِنَّ دَرَجَةٌ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيۡزٌ حَكِيۡمٌ ﴿۲۲۸﴾

۽ توهان الله (جي نالي) کي اهڙن قسمن کڻڻ لاءِ استعمال نہ ڪريو جنهن جو مقصد نيڪي ۽ پرهيزگاري ۽ ماڻهن جي وچ ۾ صلح ڪرائڻ کان پاسو ڪرڻ هجي ۽ الله ٻڌڻ وارو ۽ ڄاڻڻ وارو آهي. الله توهان جي اجاين قسمن تي توهان جي پڪڙ نہ ٿو ڪري، پر هو اُن ڪم تي پڪڙ ڪري ٿو جنهن جو اوهان جي دلين ارادو ڪيو هجي ۽ الله بخشڻ وارو ۽ بردبار آهي. جيڪي ماڻهو پنهنجن زالن سان نہ ملڻ جو قسم کڻن تہ انهن لاءِ چئن مهينن تائين جي مهلت آهي. پوءِ جيڪڏهن هو رجوع ڪن تہ الله معاف ڪرڻ وارو، مهربان آهي. ۽ جيڪڏهن هو طلاق جو فيصلو ڪن تہ يقينًا الله ٻڌڻ وارو، ڄاڻڻ وارو آهي. ۽ طلاق ڏنل عورتون پنهنجي پاڻ کي ٽن حيضن تائين روڪي رکن، ۽ جيڪڏهن هو الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکن ٿيون تہ انهن لاءِ جائز نہ آهي تہ هو اُن شيءِ کي لڪائين جيڪو الله انهن جي پيٽ ۾ پيدا ڪيو آهي ۽ انهي وچ ۾ انهن جا مڙس انهن کي وري موٽائڻ جو حق رکن ٿا جيڪڏهن هو صلح ڪرڻ چاهين ۽ انهن عورتن جي لاءِ دستور جي مطابق اهڙيءَ طرح حق آهن جهڙي طرح دستور جي مطابق انهن تي ذميداريون آهن ۽ مردن جو انهن جي مقابلي ۾ ڪجهہ درجو وڌيڪ آهي ۽ الله زبردست آهي، حڪمت وارو آهي. ٢٢٤-٢٢٨

ضد ۾ ڪاوڙ ۾ ڪڏھن ھڪ ماڻھو قسم کڻي وٺي ٿو تہ آءٌ فلاڻي ماڻھوءَ سان ڪو نيڪ سلوڪ نہ ڪندس. قديم زماني ۾ عربن ۾ اھڙن قسمن جو گھڻو رواج ھو. ھو ڪو ڀلائي جو ڪم يا ڪو اصلاح جو ڪم نہ ڪرڻ جو قسم کڻي وٺندا ھئا ۽ جڏھن انھن کي اھڙي نوعيت جي ڪم جي لاءِ سڏيو ويندو ھو تہ چئي ڏيندا ھئا تہ اسان تہ ان کي نہ ڪرڻ جو قسم کڻي چڪا آھيون. اِھو چوڻ تہ آءٌ ڀلائي جو ڪم نہ ڪندس، ھونئن بہ غلط ڳالھ آھي ۽ ان کي خدا جي نالي جو قسم کڻي چوڻ اڃا بہ وڌيڪ برو آھي. ڇاڪاڻ تہ خدا اُھا ھستي آھي جيڪا سراسر رحمت ۽ خير آھي. پوءِ اھڙي خدا جو نالو کڻي پنھنجي پاڻ کي رحمت ۽ خير جي ڪمن کان ڌار ڪرڻ ڪيئن درست ٿي سگھي ٿو. بگاڙ ھر حال ۾ برو آھي. پر جيڪڏھن بگاڙ کي خدا يا اُن جي دين جو نالو وٺي ڪيو وڃي تہ ان جي برائي اڃا بہ گھڻي وڌي ويندي آھي.

ڪجھ ماڻھو قسم کڻڻ کي پنھنجي عادت بڻائي ڇڏين ٿا ۽ بغير ڪنھن ارادي جي قسم جا لفظ ڳالھائيندا رھندا آھن. اِھا ھلڪڙي اجائي ڳالھ آھي ۽ ھر ماڻھوءَ کي ان کان بچڻ گھرجي. جيئن تہ زال مڙس جي تعلق جي نزاڪت جي ڪري اھڙن معاملن ۾ اھڙي قسم کي قانوني طور تي غير مؤثر قسم قرار ڏنو ويو آھي. پر اُھو ڪلام جيڪو ماڻھو سوچي سمجھي واتان ڪڍي ۽ جنھن سان گڏ دلي ارادو بہ شامل ٿي وڃي تہ ان جي نوعيت بلڪل ٻي ٿي ويندي آھي. ان ڪري جڏھن ڪو شخص ارادتاً اِھو قسم کڻي تہ آءٌ پنھنجي زال وٽ نہ ويندس تہ انھي کي قابل لحاظ قرار ڏئي اُن کي ھڪڙو قانوني مسئلو بڻايو ويو ۽ ان لاءِ حڪم مقرر ڪيا ويا.

خانداني نظام ۾ خواھ مرد ھجي يا عورت، ھر ڪنھن جا حق بہ آھن ۽ ھر ھڪ جون ذميداريون بہ آھن. ھر فرد کي گھرجي تہ ھو ٻين کان پنھنجو حق وٺڻ سان گڏوگڏ ٻئي کي ان جو حق بہ پوري طرح ادا ڪري. ڪو شخص اتفاقي حالتن يا پنھنجي فطري بالادستي جو فائدو وٺندي جيڪڏھن ٻئي سان ناانصافي ڪندو تہ ھو پاڻ کي الله جي پڪڙ کان بچائي نہ ٿو سگھي.

اَلطَّلَاقُ مَرَّتٰنِ ۪ فَاِمۡسَاكٌۢ بِمَعۡرُوۡفٍ اَوۡ تَسۡرِيۡحٌۢ بِاِحۡسَانٍ ؕ وَلَا يَحِلُّ لَـكُمۡ اَنۡ تَاۡخُذُوۡا مِمَّآ اٰتَيۡتُمُوۡهُنَّ شَيۡـــًٔا اِلَّاۤ اَنۡ يَّخَافَآ اَلَّا يُقِيۡمَا حُدُوۡدَ اللّٰهِ ؕ فَاِنۡ خِفۡتُمۡ اَلَّا يُقِيۡمَا حُدُوۡدَ اللّٰهِ ۙ فَلَا جُنَاحَ عَلَيۡهِمَا فِيۡمَا افۡتَدَتۡ بِهٖ ؕ تِلۡكَ حُدُوۡدُ اللّٰهِ فَلَا تَعۡتَدُوۡهَا ۚ وَمَنۡ يَّتَعَدَّ حُدُوۡدَ اللّٰهِ فَاُولٰٓـئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوۡنَ ﴿۲۲۹﴾ فَاِنۡ طَلَّقَهَا فَلَا تَحِلُّ لَهٗ مِنۡۢ بَعۡدُ حَتّٰى تَنۡكِحَ زَوۡجًا غَيۡرَهٗ ؕ فَاِنۡ طَلَّقَهَا فَلَا جُنَاحَ عَلَيۡهِمَآ اَنۡ يَّتَرَاجَعَآ اِنۡ ظَنَّآ اَنۡ يُّقِيۡمَا حُدُوۡدَ اللّٰهِ ؕ وَتِلۡكَ حُدُوۡدُ اللّٰهِ يُبَيِّنُهَا لِقَوۡمٍ يَّعۡلَمُوۡنَ ﴿۲۳۰﴾ وَاِذَا طَلَّقۡتُمُ النِّسَآءَ فَبَلَغۡنَ اَجَلَهُنَّ فَاَمۡسِكُوۡهُنَّ بِمَعۡرُوۡفٍ اَوۡ سَرِّحُوۡهُنَّ بِمَعۡرُوۡفٍ ۪ وَّلَا تُمۡسِكُوۡهُنَّ ضِرَارًا لِّتَعۡتَدُوۡا ۚ وَمَنۡ يَّفۡعَلۡ ذٰلِكَ فَقَدۡ ظَلَمَ نَفۡسَهٗ ؕ وَلَا تَتَّخِذُوۡٓا اٰيٰتِ اللّٰهِ هُزُوًا ۫ وَّ اذۡكُرُوۡا نِعۡمَتَ اللّٰهِ عَلَيۡكُمۡ وَمَآ اَنۡزَلَ عَلَيۡكُمۡ مِّنَ الۡكِتٰبِ وَالۡحِكۡمَةِ يَعِظُكُمۡ بِهٖ ؕ وَ

﴿ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴾ ٢٣١

طلاق ٻه پيرا آهي. پوءِ يا ته قاعدي مطابق رکڻ آهي يا ڀلائي سان رخصت ڪرڻ ۽ توهان جي لاءِ اِهو جائز نه آهي ته توهان جيڪو ڪجهه عورتن کي ڏنو آهي اُن مان ڪجهه موٽائي وٺو سواءِ ان جي ته ٻنهي کي ڊپ هجي ته اهي الله جي حدن تي قائم رهي نه سگهندا. پوءِ جيڪڏهن توهان کي اِهو ڊپ هجي ته ٻئي الله جي حدن تي قائم رهي نه سگهندا ته ٻنهي تي گناهه نه آهي اُن مال ۾ جنهن کي عورت فديي ۾ ڏئي ڇڏي. اِهي الله جون حدون آهن ته انهن کان ٻاهر نه نڪرو ۽ جيڪي الله جي حدن مان نڪري وڃن ته اُهي ئي ماڻهو ظالم آهن. پوءِ جيڪڏهن هو ان کي طلاق ڏئي ڇڏي ته ان کان پوءِ اُها عورت هُن جي لاءِ حلال نه آهي جيستائين هو ڪنهن ٻئي مرد سان نڪاح نه ڪري. پوءِ جيڪڏهن هو مرد اُن کي طلاق ڏئي ڇڏي ته پوءِ انهن ٻنهي تي گناهه نه آهي جو هو وري ملي وڃن، بشرطيڪ انهن کي الله جي حدن ۾ قائم رهڻ جي اميد هجي. اِهي الله جا ضابطا آهن جن کي هو بيان ڪري رهيو آهي انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي سمجهه رکڻ وارا آهن. ۽ جڏهن توهان عورتن کي طلاق ڏئي ڇڏيو ۽ هو پنهنجي عدت تائين پهچي وڃن ته انهن کي دستور مطابق رکي وٺو يا قاعدي مطابق رخصت ڪري ڇڏيو ۽ تڪليف ڏيڻ لاءِ نه روڪيو ته جيئن انهن تي زيادتي ڪريو ۽ جيڪو ائين ڪندو ان پنهنجو ئي برو ڪيو ۽ الله جي آيتن کي تماشو نه بڻايو ۽ ياد ڪريو پاڻ تي الله جي نعمت کي ۽ هِن ڪتاب ۽ حڪمت کي جيڪا اُن توهان جي نصيحت لاءِ نازل ڪئي آهي ۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻي وٺو ته الله هر شيءِ کي ڄاڻڻ وارو آهي. ٢٢٩-٢٣١

---

طلاق هڪ غير معمولي واقعو آهي، جيڪو غيرمعمولي حالتن ۾ پيش اچي ٿو. پر هِن انتهائي جذباتي معاملي ۾ به تقويٰ ۽ احسان تي قائم رهڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. اُن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته دنيا جي زندگي ۾ مؤمن کان ڪهڙي قسم جو سلوڪ الله تعاليٰ کي گهربل آهي.

نڪاح جي رشتي کي هڪ ئي ڀيري ٽوڙڻ جي بجاءِ اُن کي ٽن مرحلن ۾ پورو ڪرڻ جو حڪم آهي، جيڪو ڪجهه مهينن ۾ پورو ٿيندو آهي. هڪ انتهائي جوش ۽ پريشاني واري معاملي ۾ ان قسم جو سنجيده طريقو مقرر ڪري ٻڌايو ويو آهي ته اختلاف جي وقت مؤمن جو رويو ڪيئن هئڻ گهرجي. پنهنجي مخالف ڌُر سان ان جو سلوڪ غيرجذباتي انداز ۾ هڪ سوچيل سمجهيل ۽ صبر وارو فيصلو هجڻ گهرجي، نه وري جوش ۽ ڪاوڙ جي اثر تحت ظاهر ٿيڻ وارو هڪ اوچتو فيصلو. اهڙيءَ طرح طلاق جا جيترا طريقا مقرر ڪيا ويا آهن، سيني ۾ زندگي جو گهرو سبق موجود آهي. عليحدگي جو ارادو ڪرڻ کان پوءِ به ماڻهوءَ کي هڪ مقرر وقت تائين وري اتحاد جي امڪان تي غور ڪرڻ گهرجي. تعلقات جي خاتمي جي نوبت اچي وڃي تڏهن به هو ان کي انساني حقن جي خاتمي جي هم معنيٰ نه بڻائي. باهمي سلوڪ جي لاءِ الله جو جيڪو قانون آهي اُن جي مڪمل پابندي ڪئي وڃي. شريعت جي ڪنهن به حڪم کي قانوني اٽڪل ۽ بهانن جي ذريعي ختم نه ڪيو وڃي. قانون جي تعميل ۾ صرف قانوني لفظن کي نه ڏٺو وڃي، بلڪ اُن جي حڪمت (روح قانون) کي به سامهون رکيو وڃي. عليحدگي کان پهرين پنهنجي اڳوڻي ساٿي کي جيڪو ڪجهه ڏنو هو، اُن کي عليحدگي کان پوءِ واپس وٺڻ جي ڪوشش نه ڪئي وڃي. جهڙي طرح تعلقات واري زماني کي سهڻي نموني سان گذاريو هو، اهڙيءَ طرح عليحدگي واري زماني کي به سهڻي نموني سان گذاريو وڃي.

وَ اِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَبَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَلَا تَعْضُلُوْهُنَّ اَنْ يَّنْكِحْنَ اَزْوَاجَهُنَّ اِذَا
تَرَاضَوْا بَيْنَهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ ذٰلِكَ يُوْعَظُ بِهٖ مَنْ كَانَ مِنْكُمْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ
الْاٰخِرِ ؕ ذٰلِكُمْ اَزْكٰى لَكُمْ وَ اَطْهَرُ ؕ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ وَ اَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٣٢﴾ وَ الْوَالِدٰتُ
يُرْضِعْنَ اَوْلَادَهُنَّ حَوْلَيْنِ كَامِلَيْنِ لِمَنْ اَرَادَ اَنْ يُّتِمَّ الرَّضَاعَةَ ؕ وَ عَلَى الْمَوْلُوْدِ لَهٗ
رِزْقُهُنَّ وَ كِسْوَتُهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ لَا تُكَلَّفُ نَفْسٌ اِلَّا وُسْعَهَا ۚ لَا تُضَآرَّ وَالِدَةٌۢ بِوَلَدِهَا وَ
لَا مَوْلُوْدٌ لَّهٗ بِوَلَدِهٖ ۗ وَ عَلَى الْوَارِثِ مِثْلُ ذٰلِكَ ۚ فَاِنْ اَرَادَا فِصَالًا عَنْ تَرَاضٍ مِّنْهُمَا وَ
تَشَاوُرٍ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَا ؕ وَ اِنْ اَرَدْتُّمْ اَنْ تَسْتَرْضِعُوْٓا اَوْلَادَكُمْ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ
اِذَا سَلَّمْتُمْ مَّآ اٰتَيْتُمْ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٢٣٣﴾

۽ جڏهن توهان پنهنجن زالن کي طلاق ڏيو، پوءِ اهي پنهنجي عدت پوري ڪري وٺن ته انهن کي نه روڪيو ته هو پنهنجن مڙسن سان نڪاح ڪري وٺن. جڏهن هو دستور مطابق پاڻ ۾ راضي ٿي وڃن. اِها نصيحت ڪئي وڃي ٿي اُن ماڻهوءَ کي جيڪو توهان مان الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي يقين رکي ٿو، اِهو توهان جي لاءِ وڌيڪ پاڪ ۽ صاف طريقو آهي ۽ الله ڄاڻي ٿو توهان نٿا ڄاڻو. ۽ مائرون پنهنجي اولاد کي پورا ٻه سال ٿڃ پيئارين انهن ماڻهن لاءِ جيڪي پوري مدت تائين کير پيئارڻ چاهين ٿا ۽ جنهن جو اولاد آهي اُن جي ذمي آهي انهن مائرن جو کاڌو ۽ ڪپڙو دستور مطابق. ڪنهن کي حڪم نه ٿو ڏنو وڃي، پر اُن جي برداشت مطابق. نه ڪنهن ماءُ کي اُن جي ٻار جي ڪري ڪا تڪليف ڏني وڃي ۽ نه ڪنهن پيءُ کي اُن جي ٻار جي ڪري ۽ اِها ئي ذميداري وارث تي به آهي. پوءِ جيڪڏهن ٻئي گڏيل رضامندي ۽ صلاح مشوري سان کير ڇڏرائڻ چاهين ته ٻنهي تي ڪو به گناهه نه آهي ۽ جيڪڏهن توهان پنهنجن ٻارن کي ڪنهن ٻئي کان ٿڃ پيئارڻ چاهيو ته به اوهان تي ڪو گناهه نه آهي، بشرطيڪ توهان قاعدي مطابق اهو ڏيو انهن کي جيڪو توهان مقرر ڪيو هو ۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻي وٺو جيڪو ڪجهه توهان ڪريو ٿا الله اُن کي ڏسي رهيو آهي. ٢٣٢-٢٣٣

---

هڪ عورت کي اُن جي مڙس طلاق ڏني ۽ عدت واري زماني ۾ رجوع نه ڪيو. جڏهن عدت ختم ٿي چڪي ته ٻين ماڻهن سان گڏ پهرين مڙس به نڪاح جو پيغام موڪليو. عورت پنهنجي پهرين مڙس سان وري نڪاح ڪرڻ منظور ڪري ورتو، پر عورت جي ڀاءُ ڪاوڙ ۾ اچي نڪاح کي روڪي ڇڏيو. ان ڪري اِهو حڪم لٿو ته جڏهن ٻئي ڄڻا وري ازدواجي تعلق قائم ڪرڻ تي راضي آهن ته توهان رڪاوٽ نه وجهو.

طلاق کان پوءِ به اڪثر مسئلا باقي رهن ٿا. ڪڏهن پهرين مڙس سان وري نڪاح جو معاملو هوندو آهي. ڪڏهن طلاق يافته عورت ڪنهن ٻئي مرد سان شادي ڪرڻ چاهي ٿي. اِهڙن موقعن تي مشڪلات پيدا ڪرڻ درست نه آهي. ڪڏهن طلاق يافته عورت اولاد واري هوندي آهي ۽ اڳوڻي مڙس جي ٻار کي کير پيئارڻ جو مسئلو هوندو آهي. اهڙي حالت ۾ هڪ ٻئي کي تڪليف ڏيڻ کان منع ڪئي وئي آهي ۽ حڪم ڏنو ويو ته معاملي کي جذبات جو سوال نه بڻايو، ان کي گڏيل مشوري ۽ رضامندي سان طي ڪري وٺو. اُن مان اندازو ٿئي ٿو ته اختلاف ۽ عليحدگي جي وقت معاملي کي نمٽائڻ جو

مؤمناڻو طريقو ٿيو آهي، يعني ٻنهي طرفن جيڪي مسئلا باقي رهجي ويا هجن، انهن کي هڪٻئي جي لاءِ پريشاني جو ذريعو نہ بڻائجي، بلڪ ان کي اهڙي ڍنگ سان طي ڪجي جو ٻنهي ڌرين جي لاءِ بهتر ۽ قابل قبول هجي. ايمان روح جي پاڪيزگي آهي، پوءِ جنهن جو روح پاڪ ٿي چڪو هجي تہ هو پنهنجن معاملن ۾ ناپاڪي جو طريقو ڪيئن ٿو اختيار ڪري سگهي.

نصيحت ڪنهن جي لاءِ رڳو ان ڪري قابل قبول نٿي ٿي سگهي جو اِها برحق آهي. ضروري آهي تہ ٻڌڻ وارو الله تي يقين رکندڙ هجي ۽ ان جي پڪڙ کان ڊڄڻ وارو هجي، هو سمجهي تہ نصيحت ڪرڻ واري جي نصيحت کي رد ڪرڻ جي لاءِ اڄ جيڪڏهن مون ڪجھ لفظ ڳولهي ورتا تہ اُن سان اصل مسئلو ختم نہ ٿي ويندو. ڇاڪاڻ تہ نيٺ معاملو الله جي عدالت ۾ پيش ٿيڻو آهي ۽ هُتي ڪنهن بہ قسم جو زور ۽ ڪا لفظي حجت ڪم اچڻ واري نہ آهي.

وَ الَّذِيۡنَ يُتَوَفَّوۡنَ مِنۡكُمۡ وَ يَذَرُوۡنَ اَزۡوَاجًا يَّتَرَبَّصۡنَ بِاَنۡفُسِهِنَّ اَرۡبَعَةَ اَشۡهُرٍ وَّ
عَشۡرًا ۚ فَاِذَا بَلَغۡنَ اَجَلَهُنَّ فَلَا جُنَاحَ عَلَيۡكُمۡ فِيۡمَا فَعَلۡنَ فِىۡۤ اَنۡفُسِهِنَّ بِالۡمَعۡرُوۡفِ ؕ وَ
اللّٰهُ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ خَبِيۡرٌ ﴿۲۳۴﴾ وَلَا جُنَاحَ عَلَيۡكُمۡ فِيۡمَا عَرَّضۡتُمۡ بِهٖ مِنۡ خِطۡبَةِ النِّسَآءِ اَوۡ
اَكۡنَنۡتُمۡ فِىۡۤ اَنۡفُسِكُمۡ ؕ عَلِمَ اللّٰهُ اَنَّكُمۡ سَتَذۡكُرُوۡنَهُنَّ وَ لٰكِنۡ لَّا تُوَاعِدُوۡهُنَّ سِرًّا اِلَّاۤ
اَنۡ تَقُوۡلُوۡا قَوۡلًا مَّعۡرُوۡفًا ؕ وَ لَا تَعۡزِمُوۡا عُقۡدَةَ النِّكَاحِ حَتّٰى يَبۡلُغَ الۡكِتٰبُ اَجَلَهٗ ؕ وَ
اعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ يَعۡلَمُ مَا فِىۡۤ اَنۡفُسِكُمۡ فَاحۡذَرُوۡهُ ۚ وَ اعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ حَلِيۡمٌ ﴿۲۳۵﴾ لَا ع ۳۰ ۱۴
جُنَاحَ عَلَيۡكُمۡ اِنۡ طَلَّقۡتُمُ النِّسَآءَ مَا لَمۡ تَمَسُّوۡهُنَّ اَوۡ تَفۡرِضُوۡا لَهُنَّ فَرِيۡضَةً ۖۚ وَّ
مَتِّعُوۡهُنَّ ۚ عَلَى الۡمُوۡسِعِ قَدَرُهٗ وَ عَلَى الۡمُقۡتِرِ قَدَرُهٗ ۚ مَتَاعًا ۢ بِالۡمَعۡرُوۡفِ ۚ حَقًّا عَلَى
الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۲۳۶﴾ وَ اِنۡ طَلَّقۡتُمُوۡهُنَّ مِنۡ قَبۡلِ اَنۡ تَمَسُّوۡهُنَّ وَ قَدۡ فَرَضۡتُمۡ لَهُنَّ فَرِيۡضَةً
فَنِصۡفُ مَا فَرَضۡتُمۡ اِلَّاۤ اَنۡ يَّعۡفُوۡنَ اَوۡ يَعۡفُوَا الَّذِىۡ بِيَدِهٖ عُقۡدَةُ النِّكَاحِ ؕ وَ اَنۡ تَعۡفُوۡۤا
اَقۡرَبُ لِلتَّقۡوٰى ؕ وَلَا تَنۡسَوُا الۡفَضۡلَ بَيۡنَكُمۡ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ بَصِيۡرٌ ﴿۲۳۷﴾

۽ توهان مان جيڪي ماڻهو مري وڃن ۽ زالون ڇڏي وڃن، اُهي زالون پنهنجي پاڻ کي چار مهينا ڏھ ڏينهن روڪي رکن. پوءِ جڏهن هو پنهنجي مدت کي پهچن تہ جيڪو ڪجھ هو پنهنجي حق ۾ قاعدي مطابق ڪن، اُن جو توهان تي ڪوبہ گناهہ نہ آهي ۽ الله توهان جي ڪمن کان پوري طرح باخبر آهي. ۽ توهان جي لاءِ اُن ڳالهہ ۾ ڪوبہ گناهہ نہ آهي تہ انهن عورتن کي سڱ جو پيغام ڏيڻ ۾ ڪا ڳالهہ اشارن ۾ چئو يا پنهنجي دل ۾ لڪائي رکو. الله کي معلوم آهي تہ توهان ضرور انهن جو ڌيان ڪندؤ. پر ڳجهو واعدو نہ ڪجو. توهان اُنهن سان صرف دستور مطابق ڪا ڳالهہ ڪري سگهو ٿا ۽ نڪاح جو پڪو ارادو اُن وقت تائين نہ ڪريو جيستائين مقرر مدت پنهنجي پڄاڻي تائين نہ پهچي وڃي ۽ ڄاڻي ونو تہ الله ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجھ توهان جي دلين ۾ آهي. پوءِ ان کان ڊڄو ۽ ڄاڻي ونو تہ الله بخشڻ وارو، بردبار آهي. جيڪڏهن توهان عورتن کي اهڙي حالت ۾ طلاق ڏيو

جو نہ انهن کي توهان هٿ لڳايو آهي ۽ نہ ئي انهن جي لاءِ ڪجهہ مهر مقرر ڪيو آهي تہ انهن جي مهر جي توهان کان ڪابہ پڇا نہ ٿيندي، البت انهن کي دستور مطابق ڪجهہ سامان ڏئي ڇڏيو. آسوده پنهنجي حيثيت مطابق ۽ تنگي وارا پنهنجي حيثيت مطابق، اِهو نيڪي ڪرڻ وارن تي لازم آهي ۽ جيڪڏهن توهان انهن کي طلاق ڏيو ان کان پهرين جو انهن کي هٿ لڳايو ۽ توهان انهن جي لاءِ ڪجهہ مهر بہ مقرر ڪري چڪا هئا تہ جيترو مهر توهان مقرر ڪيو هو، اُن جو اڌ ادا ڪيو. پر جيڪڏهن هُو معاف ڪري ڇڏين يا اهو مرد معاف ڪري ڇڏي، جنهن جي هٿ ۾ نڪاح جي ڳنڍ آهي ۽ توهان جو معاف ڪري ڇڏڻ وڌيڪ ويجهو آهي تقويٰ جي ۽ پاڻ ۾ احسان ڪرڻ ۾ غفلت نہ ڪريو. جيڪو ڪجهہ توهان ڪريو ٿا الله اُن کي ڏسي رهيو آهي. ٢٣٤-٢٣٧

---

نڪاح ۽ طلاق جا قانون بيان ڪندي هر هر تقويٰ ۽ احسان جي نصيحت ڪئي پئي وڃي. اُن مان معلوم ٿيو تہ ڪنهن حڪم کي ان جي اصلي روح سان گڏ عمل ۾ آڻڻ جي لاءِ ضروري آهي تہ سماج جا فرد خالص قانوني معاملو ڪرڻ وارا نہ هجن، بلڪ هڪ ٻئي سان حسن سلوڪ جو جذبو رکندا هجن. انهيءَ سان گڏ انهن کي اِهو ڊپ بہ لڳل هجي تہ ٻئي سان بهتر سلوڪ نہ ڪرڻ خود پنهنجي باري ۾ بهتر سلوڪ نہ ٿيڻ جو خطرو پنهنجي سِر وٺڻ آهي. ڇاڪاڻ تہ نيت سچو معاملو خدا وٽ پيش ٿيڻو آهي ۽ اُتي نہ لفظي تاويلون ۽ نہ اجايا عذر ڪنهن جي ڪم ايندا ۽ نہ وري ڪنهن جي لاءِ اِهو ممڪن هوندو تہ هو معاملي بابت ڪنهن ڳالهہ کي لڪائي سگهي.

جيڪڏهن نڪاح وقت عورت جو مهر مقرر ٿيو ۽ تعلق قائم ٿيڻ کان پهرين طلاق ٿي وڃي تہ قانون جي مطابق اڌ مهر ڏيڻ لازم ڪيو ويو آهي. پر خيرخواهي جو تقاضو آهي تہ ٻئي ڌريون هِن معاملي ۾ قانوني ورتاء ڪرڻ جي بجاءِ سخاوت جو مظاهرو ڪن. عورت جي اندر اِهو مزاج هجي تہ جڏهن تعلق قائم نہ ٿيو آهي تہ آءٌ اڌ مهر بہ ڇڏي ڏيان ۽ مرد جي اندر اِهو جذبو اڀري تہ جيتوڻيڪ قانون مطابق منهنجي مٿان صرف اڌ مهر جي ذميداري آهي، پر فياضي جو تقاضو آهي تہ آئون پوري جو پورو ادا ڪري ڇڏيان. فياضي ۽ بلند حوصلي جو اِهو مزاج سيني معاملن ۾ گهربل آهي. اُهوئي سماج مسلم سماج آهي جنهن ۾ ماڻهن جو اِهو حال هجي جو هرڪو ٻئي کي ڏيڻ چاهي، نہ وري هر ڪو ٻئي کان وٺڻ جو حريص بڻيل هجي. وڌيڪ اِهو تہ بلند حوصلي جو اِهو معاملو دشمنيءَ جي وقت بہ هجي نہ وري صرف دوستيءَ جي وقت.

حٰفِظُوْا عَلَى الصَّلَوٰتِ وَ الصَّلٰوةِ الْوُسْطٰى ۗ وَ قُوْمُوْا لِلّٰهِ قٰنِتِيْنَ ﴿٢٣٨﴾ فَاِنْ خِفْتُمْ فَرِجَالًا اَوْ
رُكْبَانًا ۚ فَاِذَآ اَمِنْتُمْ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَمَا عَلَّمَكُمْ مَّا لَمْ تَكُوْنُوْا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٣٩﴾ وَ الَّذِيْنَ
يُتَوَفَّوْنَ مِنْكُمْ وَ يَذَرُوْنَ اَزْوَاجًا ۖۚ وَّصِيَّةً لِّاَزْوَاجِهِمْ مَّتَاعًا اِلَى الْحَوْلِ غَيْرَ اِخْرَاجٍ ۚ
فَاِنْ خَرَجْنَ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْ مَا فَعَلْنَ فِيْٓ اَنْفُسِهِنَّ مِنْ مَّعْرُوْفٍ ؕ وَ اللّٰهُ عَزِيْزٌ
حَكِيْمٌ ﴿٢٤٠﴾ وَلِلْمُطَلَّقٰتِ مَتَاعٌۢ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ حَقًّا عَلَى الْمُتَّقِيْنَ ﴿٢٤١﴾ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ
اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿٢٤٢﴾ ع

پابندي ڪريو نمازن جي ۽ پابندي ڪريو وچين نماز جي ۽ بيهو الله جي سامهون عاجزي سان. جيڪڏهن توهان کي ڊپ هجي ته پيادل يا سواري تي پڙهي وٺو. پوءِ جڏهن امن واري حالت ۾ اچي وڃو ته الله کي اُن طريقي سان ياد ڪريو جيئن هن توهان کي سيکاريو آهي، جنهن کي توهان نه ڄاڻندا هئا. ۽ توهان مان جيڪي ماڻهو مري وڃن ۽ زالون ڇڏي رهيا هجن، اُهي پنهنجن زالن جي باري ۾ وصيت ڪري ڇڏين ته هڪ سال تائين انهن کي گهر ۾ رکي خرچ ڏنو وڃي. پوءِ جيڪڏهن هو پاڻ گهر ڇڏي ڏين ته جيڪو ڪجهه هو پنهنجي ذات جي معاملي ۾ دستور مطابق ڪن، ان جو توهان تي ڪوبه الزام نه آهي. الله زبردست آهي، حڪمت وارو آهي. ۽ طلاق ڏنل عورتن کي به دستور مطابق خرچ ڏيڻو آهي، اِهو لازم آهي پرهيزگارن لاءِ. اهڙيءَ طرح الله توهان جي لاءِ پنهنجا حڪم صاف صاف بيان ڪري ٿو ته جيئن توهان سمجهو. ٢٣٨-٢٤٢

---

نماز ڄڻ ته دين جو خلاصو آهي. نماز ايمان واري زندگيءَ جي اُها مختصر تصوير آهي جيڪا جڏهن ڦهلجي ٿي ته مڪمل اسلامي زندگي بڻجي وڃي ٿي. هِتي هڪ مختصر جملي ۾ نماز جي ٽن اهم جزن کي بيان ڪيو ويو آهي (١) نماز جو پنج وقت فرض هجڻ (٢) نماز جو هڪ قابلِ اهتمام شيءِ هجڻ (٣) اِها ڳالهه ته نماز جي اصل حقيقت عاجزي آهي.

”پابندي ڪريو نمازن جي ۽ پابندي ڪريو وچين نماز جي“. اُن مان معلوم ٿيو ته نمازن ۾ هِڪ وچ واري نماز آهي ۽ پوءِ ان جي ٻنهي پاسي نمازون آهن. ان جملي ۾ ٻنهي طرفن جي ”نمازن“ مان گهٽ ۾ گهٽ چار جو عدد مراد وٺڻ ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته عربي زبان ۾ صلوات (نمازون) جو اطلاق ٽن يا اُن کان وڌيڪ انگن جي لاءِ هوندو آهي. پهريون ممڪن انگ جنهن ۾ ”نمازن“ جي وچ ۾ هِڪ ”وچ واري نماز“ بڻجي سگهي چار ئي آهي. اهڙيءَ طرح هڪ نماز وچ واري نماز ٿي ڪري اُن جي ٻنهي (پاسي) ٻه ٻه نمازون ٿي وينديون آهن. ”وچ واري نماز“ مان مراد عصر واري نماز آهي، جيئن ته روايتن مان ثابت آهي.

نماز جي ٻئي جز کي ٻڌائڻ لاءِ ”حفاظت“ جو لفظ استعمال ٿيو آهي. ڄڻ ته نماز اهڙيءَ طرح حفاظت جي هڪ شيءِ آهي، جهڙي طرح مال ماڻهوءَ جي لاءِ حفاظت جي شيءِ هوندو آهي. نماز جي وقتن جو پورو لحاظ، اُن کي ٻڌايل طريقي سان ادا ڪرڻ جو اهتمام، اهڙين شين کان ارادي سان پرهيز ڪرڻ جيڪي ماڻهوءَ جي نماز ۾ ڪا خرابي پيدا ڪرڻ واريون هجن وغيره، نماز جي حفاظت ۾ شامل آهي. نماز جو ٽيون جز عاجزي آهي. اهو نماز جو اصل روح آهي، نماز ٻانهي جو الله جي سامهون بيهڻ آهي. ان ڪري ضروري آهي ته نماز جي وقت ماڻهوءَ تي اُها ڪيفيت طاري هجي جيڪا سيني کان وڏي جي اڳيان بيهڻ جي صورت ۾ سيني کان ننڍي جي مٿان طاري ٿيندي آهي.

معاشرت جا حڪم ٻڌائيندي ”اِهو چوڻ ته اِهو حق آهي متقين جي مٿان“. شريعت جي هِڪ اهم جز کي ظاهر ڪري ٿو. گڏيل معاملن ۾ ڪجهه حق اُهي آهن جن کي قانون مقرر ڪيو آهي. پر هِڪ ماڻهوءَ جي مٿان ٻئي جي حقن جون حدون اُتي ئي ختم نه ٿيون ٿين. مقرر ڪيل حقن کان سواءِ به ڪجهه ٻيا حق آهن. اِهي حق اُهي آهن جن کي ماڻهوءَ جي سندس تقويٰ محسوس ڪرائي ٿي ۽ ماڻهوءَ جي تقويٰ جو احساس جيترو شديد هوندو ايتروئي وڌيڪ هو ان کي پنهنجي مٿان لازم سمجهندو. اندر جو اِهو زور جيڪڏهن موجود نه هجي ته ماڻهو ڪڏهن به صحيح طور ٻين جا حق ادا نه ٿو ڪري سگهي.

اَلَمۡ تَرَ اِلَى الَّذِيۡنَ خَرَجُوۡا مِنۡ دِيَارِهِمۡ وَ هُمۡ اُلُوۡفٌ حَذَرَ الۡمَوۡتِ ۪ فَقَالَ لَهُمُ اللّٰهُ مُوۡتُوۡا ۟ ثُمَّ اَحۡيَاهُمۡ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَذُوۡ فَضۡلٍ عَلَى النَّاسِ وَ لٰكِنَّ اَكۡثَرَ النَّاسِ لَا يَشۡكُرُوۡنَ ﴿۲۴۳﴾ وَ قَاتِلُوۡا فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ وَ اعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ سَمِيۡعٌ عَلِيۡمٌ ﴿۲۴۴﴾ مَنۡ ذَا الَّذِىۡ يُقۡرِضُ اللّٰهَ قَرۡضًا حَسَنًا فَيُضٰعِفَهٗ لَهٗۤ اَضۡعَافًا كَثِيۡرَةً ؕ وَ اللّٰهُ يَقۡبِضُ وَ يَبۡصُۜطُ ۪ وَ اِلَيۡهِ تُرۡجَعُوۡنَ ﴿۲۴۵﴾

ڇا تو انهن ماڻهن کي نہ ڏٺو جيڪي پنهنجن گهرن مان پڇي نڪتا موت جي ڊپ کان، ۽ اُهي هزارن جي تعداد ۾ هئا. تہ الله انهن کي چيو مري وڃو. پوءِ وري الله انهن کي جيئرو ڪيو. بيشڪ الله ماڻهن تي فضل ڪرڻ وارو آهي، پر گهڻا ماڻهو شڪر نہ ٿا ڪن. ۽ الله جي راهہ ۾ وڙهو ۽ ڄاڻي وٺو تہ الله ٻڌڻ وارو، ڄاڻڻ وارو آهي. ڪير آهي جو الله کي قرض حسنہ ڏي، تہ جيئن الله اُن کي ڪيترائي دفعا وڌائي ڇڏي ۽ الله ئي تنگي بہ پيدا ڪري ٿو ۽ ڪشادگي بہ ۽ توهان سڀ اُن ڏانهن موٽايا ويندؤ. ٢٤٣-٢٤٥

---

مڪي مان تنگ ٿي مسلمان مديني هليا آيا. مديني ۾ پنهنجي دين مطابق رهڻ جي لاءِ نسبتًا آزاد ماحول هو، پر اسلام جي مخالفن وري بہ انهن کي نہ ڇڏيو. هنن فوجي حملا شروع ڪري ڇڏيا تہ جيئن مديني مان مسلمانن جو خاتمو ڪري ڇڏجي. اُن وقت حڪم ٿيو تہ انهن سان مقابلو ڪريو. مخالفن جي مقابلي ۾ ان وقت مسلمانن جي طاقت تمام گهٽ هئي، ان ڪري ڪجهہ ماڻهن ۾ بي همتي پيدا ٿي. هِتي بني اسرائيل جو هڪ تاريخي واقعو ياد ڏياري ٻڌايو ويو تہ زندگيءَ جي امتحان ۾ شڪست ڪان ڊڄڻ جو نالو ئي شڪست آهي.

بني اسرائيل جي هڪ پاڙيسري قوم فلستي انهن تي حملو ڪيو ۽ بني اسرائيل کي شڪست ڏني. فلستين ٻن حملن ۾ انهن جا چوٽيهہ هزار ماڻهو ماري ڇڏيا. بني اسرائيل ايترو ڊڄي ويا جو پنهنجن گهرن کي ڇڏي ڀڄي ويا. بائيبل جي لفظن ۾ ”رعب ۽ دٻدٻو بني اسرائيل کان ويندو رهيو“. بني اسرائيل جو سڄو گهراٽو خوف ۾ مبتلا ٿي روڄ راڙو ڪرڻ لڳو. ان ئي حال ۾ ڪين ويهہ سال گذري ويا. پوءِ انهن سوچيو تہ فلستين کان انهن کي شڪست ڇو ٿي. انهن جي نبي سموئيل چيو تہ شڪست جو ڪارڻ الله ۾ توهان جي يقين جو ڪمزور هجڻ آهي. اُن اسرائيل جي سڄي گهراڻي کي چيو تہ جيڪڏهن توهان پنهنجي پوري دل سان خدا ڏانهن رجوع ڪريو تہ پوءِ اجنبي ديوتائن کي پنهنجي وچان ڪڍي ڇڏيو ۽ خدا جي لاءِ پنهنجن دلين کي آماده ڪري رکو ان ئي جي عبادت ڪريو. الله فلستين کان توهان کي آزادي ڏيندو. تڏهن اسرائيلن اجنبي ديوتائن کي پاڻ کان پري ڪيو ۽ رکو الله جي عبادت ڪرڻ لڳا. هاڻي جڏهن وري ٻيو دفعو فلستين ۽ اسرائيلين ۾ جنگ لڳي تہ بائيبل جي لفظن ۾ خدا فلستين جي مٿان ان ڏينهن غضبناڪ ٿيو ۽ انهن کي گهبرائي ڇڏيائين ۽ انهن اسرائيلن جي آڏو شڪست کاڌي (١-سموئيل-ب٧) . الله تي اعتماد جي رستي کي ڇڏڻ سان انهن تي قومي موت واقع ٿيو ۽ الله تي اعتماد جي رستي کي اختيار ڪرڻ کان پوءِ انهن کي قومي زندگي حاصل ٿي. قرض حسن جي معنيٰ آهي سنو قرض. هِتي ان مان مان مراد اُهو خرچ ڪرڻ آهي جيڪو الله جي دين جي راهہ ۾ ڪيو وڃي. اِهو خرچ خالص الله جي لاءِ هوندو آهي

جنهن ۾ ڪو ٻيو مفاد شامل نہ هوندو آهي. اُن ڪري ئي الله ان کي پنهنجي ذمي قرض قرار ڏنو. ڇاڪاڻ تہ هُو تمام گهڻي اضافي سان اُن کي موٽائيندو. ان ڪري اُن کي قرض حسن فرمايو آهي.

مؤمن جي راهہ ۾ مشڪلات جو پيش اچڻ ڪا محرومي جي ڳالهہ نہ آهي. اِهو الله جي فضل جو نئون دروازو کلڻ آهي. جنهن کان پوءِ هو پنهنجي جان ۽ مال کي الله جي لاءِ خرچ ڪري الله جي انهن رحمتن جو مستحق بڻجي ٿو. جيڪي عام حالتن ۾ ڪنهن کي نہ ٿيون ملن.

اَلَمْ تَرَ اِلَى الْمَلَاِ مِنْۢ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ مِنْۢ بَعْدِ مُوْسٰى ۘ اِذْ قَالُوْا لِنَبِيٍّ لَّهُمُ ابْعَثْ لَنَا
مَلِكًا نُّقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ قَالَ هَلْ عَسَيْتُمْ اِنْ كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِتَالُ اَلَّا تُقَاتِلُوْا ؕ
قَالُوْا وَ مَا لَنَآ اَلَّا نُقَاتِلَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ قَدْ اُخْرِجْنَا مِنْ دِيَارِنَا وَ اَبْنَآىِٕنَا ؕ فَلَمَّا كُتِبَ
عَلَيْهِمُ الْقِتَالُ تَوَلَّوْا اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْهُمْ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿۲۴۶﴾ وَ قَالَ لَهُمْ نَبِيُّهُمْ
اِنَّ اللّٰهَ قَدْ بَعَثَ لَكُمْ طَالُوْتَ مَلِكًا ؕ قَالُوْٓا اَنّٰى يَكُوْنُ لَهُ الْمُلْكُ عَلَيْنَا وَ نَحْنُ اَحَقُّ
بِالْمُلْكِ مِنْهُ وَ لَمْ يُؤْتَ سَعَةً مِّنَ الْمَالِ ؕ قَالَ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰىهُ عَلَيْكُمْ وَ زَادَهٗ بَسْطَةً
فِي الْعِلْمِ وَ الْجِسْمِ ؕ وَ اللّٰهُ يُؤْتِيْ مُلْكَهٗ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۴۷﴾ وَ قَالَ لَهُمْ
نَبِيُّهُمْ اِنَّ اٰيَةَ مُلْكِهٖٓ اَنْ يَّاْتِيَكُمُ التَّابُوْتُ فِيْهِ سَكِيْنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ بَقِيَّةٌ مِّمَّا تَرَكَ
٣٢ ع ١٦ اٰلُ مُوْسٰى وَ اٰلُ هٰرُوْنَ تَحْمِلُهُ الْمَلٰٓىِٕكَةُ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۲۴۸﴾

ڇا تو بني اسرائيل جي سردارن کي نہ ڏٺو موسيٰ کان پوءِ. جڏهن انهن پنهنجي نبيءَ کي چيو تہ اسان جي لاءِ هڪ بادشاهہ مقرر ڪري ڇڏيو. تہ جيئن اسان الله جي راهہ ۾ وڙهون. نبيءَ جواب ڏنو: ائين نہ ٿئي جو توهان کي لڙائيءَ جو حڪم ڏنو وڃي، پوءِ توهان نہ وڙهو. اُنهن چيو ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو جو اسان نہ وڙهون الله جي راهہ ۾. جڏهن تہ اسان کي پنهنجن گهرن مان تڙي ڪڍيو ويو آهي ۽ پنهنجن ٻچن کان ڌار ڪيو ويو آهي. پوءِ جڏهن انهن کي لڙائيءَ جو حڪم ٿيو تہ ٿورڙن ماڻهن کانسواءِ سڀ ڦري ويا ۽ الله ظالمن کي چڱي طرح سڃاڻي ٿو. ۽ انهن جي نبيءَ اُنهن کي چيو: الله طالوت کي توهان جي لاءِ بادشاهہ مقرر ڪيو آهي. انهن چيو هن کي اسان تي بادشاهي ڪيئن ملي سگهي ٿي، حالانڪ ان جي مقابلي ۾ اسان بادشاهيءَ جا وڌيڪ حقدار آهيون ۽ هُن کي گهڻي دولت بہ حاصل نہ آهي. نبيءَ چيو الله توهان جي مقابلي ۾ هن کي چونڊيو آهي ۽ علم ۽ جسم ۾ اُن کي وڌايو آهي ۽ الله پنهنجي سلطنت جنهن کي چاهي ڏي ٿو. الله وڏي وسعت وارو، ڄاڻڻ وارو آهي. ۽ انهن جي نبيءَ انهن کي چيو تہ طالوت جي بادشاهہ هئڻ جي نشاني اِها آهي تہ توهان وٽ اُها صندوق اچي ويندي جنهن ۾ توهان جي رب جي طرفان توهان جي لاءِ تسڪين آهي ۽ آل موسيٰ ۽ آل هارون جون ڇڏيل يادگارون آهن. اُن صندوق کي فرشتا کڻي ايندا. اُن ۾ توهان جي لاءِ وڏي نشاني آهي، جيڪڏهن توهان يقين رکڻ وارا آهيو. ٢٤٦-٢٤٨

---

حضرت موسيٰ عليہ السلام کان تقريبًا ٽي سؤ سال پوءِ بني اسرائيل پنهنجي پاڙيسري مشرڪ قومن کان مغلوب ٿي ويا. اِهڙي حال ۾ تقريبًا صديءَ جو چوٿون حصو گذرڻ کان پوءِ انهن کي احساس ٿيو تہ هو پنهنجي اڳئين دؤر کي واپس آڻين. هاڻي پنهنجي دشمنن سان وڙهڻ جي لاءِ انهن کي هڪ امير لشڪر

جي ضرورت هئي. انهن جي نبي سموئيل (١٠٢٠-١١٠٠ ق م) انهن جي لاءِ هڪ شخص مقرر ڪيو، جنهن جو نالو قرآن ۾ طالوت ۽ بائيبل ۾ ساؤل آيو آهي. ذاتي صفتن جي لحاظ کان هو هڪ مناسب شخص هو، پر بني اسرائيل اُن جي سرداري قبول ڪرڻ جي بجاءِ اهڙي قسم جا اعتراض ڪرڻ لڳا ته هو بي حيثيت خاندان جو ماڻهو آهي. هُن وٽ مال ۽ دولت نه آهي. پر اهڙي قسم جا اختلافي بحث ڪنهن قوم جي زوال جي نشاني آهن. الله جا فيصلا وسعت ۽ علم جي بنياد تي ٿيندا آهن. ان ڪري اهوئي ٻانهو الله جو محبوب ٻانهو آهي جيڪو پاڻ ۾ وسيع النظري جو طريقو اختيار ڪري ۽ جيڪو فيصلو ڪري حقيقتن جي بنياد تي ڪري نه وري تعصب ۽ مصلحتن جي بنياد تي. اهڙيءَ طرح صندوق کي واپس آڻي الله طالوت جي مقرري جي هڪ غير معمولي تصديق به فرمائي ڇڏي.

بني اسرائيل وٽ هڪ مقدس صندوق هُئي، جيڪا مصر کان نڪرڻ واري زماني کان وٺي هنن سان گڏ مستقل هلندي پئي آئي. اُن ۾ توريت جو تختيون ۽ ٻيون برڪت ڀريون شيون هيون. بني اسرائيل اُن کي پنهنجي لاءِ فتح ۽ ڪاميابي جو نشان سمجهندا هئا. فلستي اُن صندوق کي انهن کان کسي کڻي ويا هئا. پر ان کي اُنهن جنهن به وستي ۾ رکيو اُتي بيماريون ڦهلجي ويون، اُن مان اُنهن برو فال ورتو ۽ صندوق کي هڪ ڏڳي گاڏي تي رکي هڪلي ڇڏيو. هُو ان کي کڻي هلندا رهيا. ايستائين جو يهودين جي آبادي ۾ پهچي ويا. الله پنهنجي ڪنهن ٻانهي جي صداقت کي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ ڪڏهن هن جي چوگرد اهڙيون غير معمولي شيون جمع ڪري ڇڏي ٿو جيڪي عام انسانن سان گڏ جمع نه ٿيون ٿين.

فَلَمَّا فَصَلَ طَالُوْتُ بِالْجُنُوْدِ ۙ قَالَ اِنَّ اللّٰهَ مُبْتَلِيْكُمْ بِنَهَرٍ ۚ فَمَنْ شَرِبَ مِنْهُ فَلَيْسَ
مِنِّيْ ۚ وَمَنْ لَّمْ يَطْعَمْهُ فَاِنَّهٗ مِنِّيْٓ اِلَّا مَنِ اغْتَرَفَ غُرْفَةًۢ بِيَدِهٖ ۚ فَشَرِبُوْا مِنْهُ اِلَّا قَلِيْلًا
مِّنْهُمْ ؕ فَلَمَّا جَاوَزَهٗ هُوَ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ ۙ قَالُوْا لَا طَاقَةَ لَنَا الْيَوْمَ بِجَالُوْتَ وَ
جُنُوْدِهٖ ؕ قَالَ الَّذِيْنَ يَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلٰقُوا اللّٰهِ ۙ كَمْ مِّنْ فِئَةٍ قَلِيْلَةٍ غَلَبَتْ فِئَةً كَثِيْرَةًۢ
بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿٢٤٩﴾ وَ لَمَّا بَرَزُوْا لِجَالُوْتَ وَ جُنُوْدِهٖ قَالُوْا رَبَّنَآ اَفْرِغْ
عَلَيْنَا صَبْرًا وَّ ثَبِّتْ اَقْدَامَنَا وَ انْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٥٠﴾ فَهَزَمُوْهُمْ بِاِذْنِ اللّٰهِ ۛ
وَ قَتَلَ دَاوٗدُ جَالُوْتَ وَ اٰتٰىهُ اللّٰهُ الْمُلْكَ وَ الْحِكْمَةَ وَ عَلَّمَهٗ مِمَّا يَشَآءُ ؕ وَ لَوْ لَا دَفْعُ اللّٰهِ
النَّاسَ بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ ۙ لَّفَسَدَتِ الْاَرْضُ وَ لٰكِنَّ اللّٰهَ ذُوْ فَضْلٍ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٥١﴾

پوءِ جڏهن طالوت فوجون وٺي هليو ته هُن چيو: الله توهان کي هڪ نديءَ جي ذريعي آزمائڻ وارو آهي. پوءِ جنهن ان جو پاڻي پيتو اُهو منهنجو ساٿي نه آهي ۽ جنهن اُن کي نه چکيو ته اُهو منهنجو ساٿي آهي، پر سواءِ اُن جي جنهن پنهنجي هٿ سان هڪ لپ ڀري ورتي. پر انهن ان مان ڏڍ ڪري پيتو سواءِ ٿورڙن ماڻهن جي. پوءِ جڏهن طالوت ۽ جيڪي اُن سان گڏ ايمان تي قائم رهيا هئا دريا پار ڪري چڪا ته اُنهن ماڻهن چيو ته اڄ اسان ۾ جالوت ۽ اُن جي فوجن سان وڙهڻ جي طاقت نه آهي. جيڪي ماڻهو اهو ڄاڻندا هئا ته هو الله سان ملڻ وارا آهن، انهن چيو ته

ڪيترين ئي ننڍين جماعتن الله جي حڪم سان وڏين جماعتن تي غالب آيون آهن ۽ الله صبر ڪرڻ وارن سان
گڏ آهي. ۽ جڏهن جالوت ۽ ان جون فوجون انهن سان آمهون سامهون ٿيون ته اُنهن چيو: اي اسان جا رب! اسان تي
صبر جي پالوٽ ڪر ۽ اسان جي قدمن کي ڄمائي ڇڏ ۽ انهن ڪافرن جي مقابلي ۾ اسان جي مدد ڪر. پوءِ اُنهن الله
جي حڪم سان انهن کي شڪست ڏني ۽ دائود جالوت کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ الله دائود کي بادشاهت ۽ دانائي
عطا ڪئي ۽ جن شين جو چاهيو علم بخشيائين ۽ جيڪڏهن الله ڪن ماڻهن کي ڪن ماڻهن جي ذريعي هٽائيندو
نه رهي ته زمين فساد سان ڀرجي وڃي. پر الله دنيا وارن تي وڏو فضل ڪرڻ وارو آهي. ۲۴۹-۲۵۱

---

حضرت موسيٰ عليه السلام جي تقريبًا ۳ سؤ سال کان پوءِ ۽ حضرت مسيح عليه السلام کان تقريبًا هڪ هزار سال پهرين ايئن ٿيو جو فلستين بني اسرائيل تي حملو ڪيو ۽ فلسطين جا اڪثر علائقا انهن کان جنگ ۾ کسي ورتا. هڪ عرصي کان پوءِ بني اسرائيل چاهيو ته هو فلستين جي خلاف قدم کڻي پنهنجا علائقا انهن کان واپس وٺن. ان وقت انهن جي وچ ۾ هڪ نبي هو، جنهن جو نالو سموئيل هو. هو شام جي هڪ قديم شهر راما ۾ رهندو هو ۽ بني اسرائيل جي اجتماعي ڪمن جو ذميدار هو. بني اسرائيل جو هڪ وفد اُن سان مليو ۽ چيو ته هاڻي توهان پوڙها ٿي چڪا آهيو، اُن لاءِ توهان اسان مان ڪنهن کي اسان تي بادشاهه مقرر ڪري ڇڏيو، ته جيئن اسان اُن جي رهنمائي ۾ جنگ ڪري سگهون. توريت جي لفظن ۾ ”۽ اسان جو بادشاهه اسان جي عدالت ڪري ۽ اسان جي اڳيان اڳيان هلي ۽ اسان جي ويڙهه وڙهي“.

حضرت سموئيل جيتوڻيڪ يهودين جي ڪردار جي باري ۾ سٺي راءِ نه رکندو هو، پوءِ به سندن مطالبي تي انهن کي چيائين ته چڱو آئون توهان جي لاءِ هڪ بادشاهه مقرر ڪندس، پوءِ هن بن يمين قبيلي جي هڪ بهادر نوجوان ساؤل (طالوت) کي انهن جو بادشاهه (سردار) مقرر ڪري ڇڏيو.

ساؤل (طالوت) بني اسرائيل جو لشڪر وٺي دشمن ڏانهن وڌيو. رستي ۾ درياءِ يردن هو. ان کي پار ڪري دشمن جي علائقي ۾ پهچڻو هو. جيتوڻيڪ طالوت کي بني اسرائيل جي ڪمزورين جو علم هو، ان ڪري انهن کي آزمائڻ لاءِ هڪ سادو طريقو استعمال ڪيو. دريا کي پار ڪندي هن اعلان ڪيو ته ڪوبه شخص پاڻي نه پيئي، البته هڪ اڌ لپ پي وٺي ته ڪو حرج نه آهي. بني اسرائيل جو وڏو تعداد اُن امتحان ۾ پورو نه لٿو. پوءِ به اُن مقابلي ۾ الله تعاليٰ انهن کي ڪاميابي ڏني. حضرت دائود عليه السلام جيڪو ان وقت صرف هڪ نوجوان هو، اُن جنگ ۾ فيصلائتو ڪردار ادا ڪيو. فلستين جي فوج جو زبردست پهلوان جالوت ان جي هٿان قتل ٿيو. ان کان پوءِ فلستين اسرائيل جي مقابلي ۾ هٿيار ڦٽا ڪيا.

مقابلي ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهي ته ماڻهن جي اندر مشڪلاتن ۾ ثابت قدم رهڻ ۽ سردار جي اطاعت ڪرڻ جو مادو هجي. طالوت جو پنهنجن ساٿين کي پاڻي پيئڻ کان منع ڪرڻ انهيءَ قابليت جي آزمائش لاءِ هڪ سادي تدبير هئي. بائيبل جي بيان مطابق انهن مان رڳو ٦٠٠ ماڻهو اهڙا نڪتا جن رستي ۾ اچڻ واري دريا جو پاڻي نه پيتو. جن ماڻهن پاڻي پيتو اُنهن چڻ ته پنهنجن اخلاقي ڪمزورين کي اڃا به وڌيڪ پڪو ڪري ڇڏيو. ان ڪري دشمن جو بظاهر طاقتور هجڻ هاڻي انهن کي اڃا به وڌيڪ محسوس ٿيڻ لڳو. ٻئي پاسي جن ماڻهن پاڻي نه پيتو هو، انهن جي ان عمل سان انهن جو صبر ۽ اطاعت وارو مزاج اڃا به وڌيڪ مضبوط ٿي ويو. انهن کي اُها حقيقت اڃا به وڌيڪ واضح صورت ۾ ڏسڻ ۾ اچڻ لڳي جنهن کي بائيبل جي بيان مطابق طالوت جي هڪ ساٿي هِنن لفظن ۾ بيان

ڪيو هو: ۽ سڄي جماعت ڇاٽي ونئي ته الله تلوار ۽ نيزي جي ذريعي نه ٿو بچائي. ڇو ته جنگ ته الله جي آهي ۽ اُهوئي توهان کي اسان جي هٿ ۾ ڏئي ڇڏيندو (١-سموئيل ٤٨:١٧)

اقتدار جنهن وٽ هجي ته هو ڪجهه ڏينهن کان پوءِ وڏائي ۾ اچي ظلم ڪرڻ لڳي ٿو. اُن ڪري اقتدار جيڪڏهن ڪنهن وٽ مستقل طور تي رهي ته اُن جي ظلم ۽ فساد سان زمين ڀرجي وڃي. اُن جي تلافي جو انتظام الله اهڙي نموني ڪيو آهي جو هو اقتدار وارن کي بدلائيندو رهندو آهي. هو بي اقتدار ماڻهن مان هڪ گروهه کي ڪڙو ڪري ٿو ۽ انهن جي ذريعي صاحب اقتدار کي هٽائي اُن جي جاءِ تي ٻئي کي ويهاري ڇڏي ٿو. اُن جو مطلب اِهو آهي ته جڏهن ڪنهن اقتدار واري جماعت جو ظلم وڌي وڃي ته اِهو اُن جي خلاف اٿڻ واري گروهه جي لاءِ خدائي مدد جو وقت هوندو آهي. جيڪڏهن هو صبر ۽ اطاعت جو شرط پورو ڪندي پنهنجي پاڻ کي خدائي منصوبي ۾ شامل ڪري ڇڏي ته بظاهر گهٽ تعداد ۾ هجڻ جي باوجود هو الله جي مدد سان گهڻن تي غالب اچي ويندو. الله جو خوف رڳو هڪ منفي شيءِ نه آهي. اُهو هڪ علم آهي جيڪو ماڻهوءَ جي ذهن کي اهڙيءَ طرح روشن ڪري ڇڏي ٿو جو هو هر شيءِ کي ان جي اصلي ۽ حقيقي روپ ۾ ڏسي سگهي.

تِلْكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ۭ وَاِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ۝٢٥٢

وقف لازم الجزء الثالث (٣)

تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰي بَعْضٍ ۘ مِنْهُمْ مَّنْ كَلَّمَ اللّٰهُ وَرَفَعَ بَعْضَهُمْ دَرَجٰتٍ ۭ
وَاٰتَيْنَا عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ الْبَيِّنٰتِ وَاَيَّدْنٰهُ بِرُوْحِ الْقُدُسِ ۭ وَلَوْ شَاۗءَ اللّٰهُ مَا اقْتَتَلَ
الَّذِيْنَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا جَاۗءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ وَلٰكِنِ اخْتَلَفُوْا فَمِنْهُمْ مَّنْ اٰمَنَ
٣٣ ع وَمِنْهُمْ مَّنْ كَفَرَ ۭ وَلَوْ شَاۗءَ اللّٰهُ مَا اقْتَتَلُوْا ۣ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَفْعَلُ مَا يُرِيْدُ ۝٢٥٣

اِهي الله جون آيتون آهن، جيڪي اسان توکي پڙهيون ٿا ٺيڪ ٺيڪ ۽ بيشڪ تون پيغمبرن مان آهين. اُنهن پيغمبرن مان ڪِن کي اسان ڪِن تي فضيلت ڏني. اُنهن مان ڪن سان الله ڪلام ڪيو ۽ ڪن جا درجا بلند ڪيا ۽ اسان عيسيٰ پٽ مريم کي کليل نشانيون ڏنيون ۽ اسان اُن جي مدد روح القدس سان ڪئي. الله جيڪڏهن چاهي ها ته اُن کان پوءِ اچڻ وارا واضح حڪم اچڻ کان پوءِ نه وڙهن ها. پر اُنهن اختلاف ڪيو. پوءِ انهن مان ڪن ايمان آندو ۽ ڪن انڪار ڪيو ۽ جيڪڏهن الله چاهي ها ته اُهي نه وڙهن ها. پر الله ڪري ٿو جيڪو هو چاهي ٿو. ٢٥٢-٢٥٣

---

الله جي طرفان ڪو پڪارڻ وارو جڏهن ماڻهن کي پڪاري ٿو ته اُن جي پڪار ۾ اهڙيون نشانيون شامل هونديون آهن جو ماڻهن کي اِهو سمجهڻ ۾ دير نٿي لڳي ته اِها الله جي طرفان آهي. اُن جي باوجود ماڻهو ان جو انڪار ڪري ڇڏين ٿا ۽ اهي انڪار ڪرڻ وارا سيني کان پهرين اُهي ماڻهو هوندا آهن، جيڪي رسالت کي مڃيندڙ هوندا آهن. اُن جو سبب اهو هوندو آهي ته اُهي جنهن رسول کي مڃي رهيا هوندا آهن اُن جي ڪن خاصيتن جي ڪري اُهي اُن جي افضليت جو تصور قائم ڪري وٺن ٿا ۽ سمجهن ٿا ته جڏهن اسان جو رسول ايترو افضل آهي ۽ اسان اُن کي مڃي رهيا آهيون ته هاڻي ڪنهن ٻئي کي مڃڻ

جي ڪهڙي ضرورت آهي.

هر پيغمبر مختلف حالتن ۾ ايندو آهي ۽ پنهنجي مشن جي تڪميل جي لاءِ هر هڪ کي الڳ الڳ شين جي ضرورت هوندي آهي. ان لحاظ کان ڪنهن پيغمبر کي هڪ فضيلت يعني (خاص شيءِ) ڏني ويندي آهي ۽ ڪنهن کي ٻي فضيلت. وقت گذرڻ کان پوءِ پيغمبر جي اِهائي فضيلت اُن جي امت جي لاءِ فتنو بڻجي ويجي ٿي. هو پنهنجي نبيءَ کي ڏنل فضيلت کي تصديقي فضيلت جي بجاءِ قطعي فضيلت جي معنيٰ ۾ سمجهي وٺندا آهن. هو سمجهن ٿا ته اسان سڀني کان افضل پيغمبر کي مڃي رهيا آهيون. ان ڪري هاڻي اسان کي ڪنهن ٻئي کي مڃڻ جي ضرورت نه آهي. حضرت موسيٰ عليه السلام کي مڃڻ وارن حضرت مسيح عليه السلام جو انڪار ڪيو. ڇاڪاڻ ته هو سمجهندا هئا ته انهن جو نبي ايترو ته افضل آهي جو خدا سڌو سنئون اُن سان همڪلام ٿيو. حضرت مسيح عليه السلام جي مڃڻ وارن نبي آخر الزّمان جو انڪار ڪيو. ڇاڪاڻ ته انهن سمجهيو ٿي ته اُهي هڪ اِهڙي هستيءَ کي مڃي رهيا آهن جنهن جي فضيلت ايتري ته گهڻي آهي جو الله اُن کي پيءُ جي بغير پيدا ڪيو. اهڙيءَ طرح الله جا اُهي ٻانها جيڪي امت محمدي جي اصلاح ۽ تجديد جي لاءِ اٿيا ته انهن جو به ماڻهن انڪار ڪيو. ڇاڪاڻ ته انهن جي مخاطبن جي نفسيات اِها هئي ته اسان بزرگن جا وارث آهيون. اسان اڪابرن جو دامن جهلي ويٺا آهيون. پوءِ اسان کي ڪنهن ٻئي جي ڪهڙي ضرورت. امتن جي زوال جي زماني ۾ ائين ٿيندو آهي جو ماڻهو دنيا جي رستي تي هلي پوندا آهن. اُن سان گڏ اُهي اِهو به چاهيندا آهن ته انهن جي جنت به محفوظ رهي. ان وقت اهو عقيدو انهن جي لاءِ هڪ نفسياتي سهارو بڻجي ويجي ٿو. هو پنهنجي مقدس شخصيتن جي افضليت جي تصور ۾ اِها تسڪين حاصل ڪري وٺندا آهن ته دنيا ۾ چاهي هو ڪجهه به ڪن، آخرت جي ڪاميابي ۾ ڪو به شڪ نه آهي.

اِهوئي غلط اعتماد آهي جيڪو ماڻهن کي الله ڏانهن سڏڻ واري جي مخالفت تي دلير بڻائي ٿو. الله جي لاءِ اِهو ممڪن هو ته ماڻهن جي هدايت ۽ رهنمائي جي لاءِ ڪو ٻيو نظام قائم ڪري ها، جنهن ۾ ڪنهن جي لاءِ به اختلاف جي گنجائش نه هجي. پر هي دنيا امتحان جي جاءِ آهي. هِتي ته انهيءَ ڳالهه جي آزمائش ٿي رهي آهي ته ماڻهو غيب جي حالت ۾ خدا کي ڳولهي لهي. انسان جي زبان مان بلند ٿيڻ واري خدائي آواز کي سڃاڻي. ظاهري پردن مان گذري سچائي کي اُن جي باطني روپ ۾ ڏسي وٺي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا بَيْعٌ فِيْهِ وَ لَا خُلَّةٌ وَّ لَا
شَفَاعَةٌ ؕ وَ الْكٰفِرُوْنَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢٥٤﴾ اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلْحَيُّ الْقَيُّوْمُ ۬ۚ لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ
وَّ لَا نَوْمٌ ؕ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ؕ مَنْ ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَهٗٓ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ؕ
يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَ مَا خَلْفَهُمْ ۚ وَ لَا يُحِيْطُوْنَ بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهٖٓ اِلَّا بِمَا شَآءَ ۚ وَسِعَ
كُرْسِيُّهُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ ۚ وَ لَا يَـُٔوْدُهٗ حِفْظُهُمَا ۚ وَ هُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ ﴿٢٥٥﴾ لَآ اِكْرَاهَ فِي
الدِّيْنِ ۙ۫ قَدْ تَّبَيَّنَ الرُّشْدُ مِنَ الْغَيِّ ۚ فَمَنْ يَّكْفُرْ بِالطَّاغُوْتِ وَ يُؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ فَقَدِ
اسْتَمْسَكَ بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى ۗ لَا انْفِصَامَ لَهَا ؕ وَ اللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٥٦﴾ اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ

اٰمَنُوْا ۙ يُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۭ وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَوْلِيٰۗــــُٔــھُمُ الطَّاغُوْتُ ۙ
يُخْرِجُوْنَهُمْ مِّنَ النُّوْرِ اِلَى الظُّلُمٰتِ ۭ اُولٰۗىِٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ ھُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ٢٥٧

اي ايمان وارؤ! خرچ ڪريو انهن شين مان جيڪي اسان توهان کي ڏنيون آهن ان ڏينهن جي اچڻ کان اڳ جنهن ۾ نہ خريد آهي نہ فروخت ۽ نہ دوستي آهي ۽ نہ سفارش ۽ جيڪي منڪر آهن اُهي ئي ظلم ڪرڻ وارا آهن. الله، جنهن کان سواءِ ڪو بہ معبود نہ آهي. هو زندهہ آهي، هر شيءِ کي سنڀاليندڙ. ان کي نہ اونگهہ اچي ٿي ۽ نہ ننڊ. اُن جو ئي آهي جيڪو ڪجهہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي. ڪير آهي جو سندس اجازت ڪانسواءِ وٽس سفارش ڪري. هو ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهہ انهن جي اڳيان آهي ۽ جيڪو ڪجهہ انهن جي پٺيان آهي ۽ اهي سندس علم مان ڪنهن بہ شيءِ جو گهيرو نہ ٿا ڪري سگهن، پر جيڪو هو چاهي. اُن جي حڪومت آسمانن ۽ زمين تي ڇانيل آهي ۽ نہ انهن جي سنڀال سندس لاءِ ٿڪائيندڙ آهي ۽ اهوئي آهي بلند مرتبہ ۽ وڏو. دين جي معاملي ۾ ڪا بہ زبردستي نہ آهي. هدايت گمراهي کان الڳ ٿي چڪي آهي. پوءِ جيڪو شخص شيطان جو انڪار ڪري ۽ الله تي ايمان آڻي اُن مضبوط ڪڙو جهلي ورتو، جيڪو ٽٽڻ وارو نہ آهي ۽ الله ٻڌڻ وارو، ڄاڻڻ وارو آهي. الله ڪم ٺاهڻ وارو آهي ايمان وارن جو، کين اونداهين مان ڪڍي روشني ڏانهن آڻي ٿو ۽ جن ماڻهن انڪار ڪيو. انهن جا دوست شيطان آهن، هو انهن کي روشنيءَ مان ڪڍي اونداهين ڏانهن وٺي وڃن ٿا. اِهي باهہ ۾ وڃڻ وارا ماڻهو آهن، هو اُن ۾ هميشہ رهندا. ٢٥٤-٢٥٧

---

خدا ان کي ئي ملي ٿو جيڪو انفاق جي قيمت ڏئي خدا کي اپنائي ٿو ۽ جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي خدا ملي وڃي ٿو تہ کيس هڪ اهڙي روشني ملي وڃي ٿي جنهن ۾ هو ٿيڪڻ بنا هلندو رهي، ايستائين جو جنت ۾ پهچي وڃي. ان جي ابتڙ جيڪو شخص انفاق جي قيمت ڏيڻ کان سواءِ خدا کي اختيار ڪري، اهو هميشہ اونداهيءَ ۾ رهي ٿو، جتي شيطان ان کي ورغلائي اهڙن رستن تي هلائي ٿو جنهن جي آخري منزل جهنم ڪانسواءِ ٻي ڪجهہ بہ نہ آهي.

انفاق مان مراد پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي سرمائي کي دين جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ آهي. پنهنجن مصلحتن کي قربان ڪري دين ڏانهن اڳيان وڌڻ آهي. ماڻهو جڏهن ڪنهن عقيدي کي انفاق جي قيمت تي اختيار ڪري تہ ان جو مطلب اِهو هوندو آهي تہ هو ان کي اختيار ڪرڻ ۾ سنجيده (Sincere) آهي. اِهو سنجيده ٿيڻ بيحد اهم آهي. ڪنهن معاملي ۾ سنجيده هئڻ ئي اُها شيءِ آهي جيڪا ماڻهو تي ان معاملي جي رازن کي کولي ٿي. سنجيده ٿيڻ ڪانپوءِ ئي اِهو امڪان پيدا ٿيندو آهي تہ ماڻهو ۽ سندس مقصد جي وچ ۾ حقيقي تعلق قائم ٿئي ۽ مقصد جا سڀئي پهلو ان تي واضح ٿين. ان جي ابتڙ معاملو ان شخص جو آهي جيڪو پنهنجي هستي کي حوالي ڪرڻ جي قيمت تي دين کي اختيار نہ ڪري. اهڙو شخص ڪڏهن بہ دين جي معاملي ۾ سنجيده نہ ٿيندو ۽ ان ڪري هو آخرت جي معاملي کي هڪ آسان معاملو فرض ڪري وٺندو. هو سمجهندو تہ بزرگن جي سفارش يا دين جي نالي تي ڪجهہ رسمي ۽ ظاهري ڪارروائيون آخرت جي نجات جي لاءِ ڪافي آهن. آخرت جي معاملي ۾ سنجيده نہ هئڻ جي ڪري هو ان راز کي نہ سمجهي سگهندو تہ آخرت مالڪ ڪائنات جي عظمت ۽ جلال جي ظهور جو ڏينهن آهي. اِهڙي هڪ ڏينهن جي باري ۾ رڳو سرسري شين تي ڪاميابيءَ جي اميد ڪري وٺڻ خدا جي خدائي جو تمام

گهڻ اندازو لڳائڻ آهي. جيڪو خدا وٽ ماڻهوءَ جي ڏوهہ ڪي وڌائڻ وارو آهي، نہ وري هو ان جي مقبوليت جو سبب بڻجڻ وارو. خدا جي ڳالهہ ماڻهوءَ جي سامهون دليل جي زبان ۾ ايندي آهي ۽ هو ڪجهہ لفظ ڳالهائي ان کي رد ڪري ڇڏي ٿو، اهوئي شيطاني وسوسو آهي. هدايت ان کي ملندي آهي جيڪو شيطان جي وسوسي کان پنهنجي پاڻ کي بچائي ۽ خدائي دليل کي سچائي ان جي اڳيان جهڪي پوي.

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِىْ حَآجَّ اِبْرٰهٖمَ فِىْ رَبِّهٖٓ اَنْ اٰتٰىهُ اللّٰهُ الْمُلْكَ ۘ اِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّىَ الَّذِىْ يُحْىٖ وَيُمِيْتُ ۙ قَالَ اَنَا اُحْىٖ وَاُمِيْتُ ؕ قَالَ اِبْرٰهٖمُ فَاِنَّ اللّٰهَ يَاْتِىْ بِالشَّمْسِ مِنَ الْمَشْرِقِ فَاْتِ بِهَا مِنَ الْمَغْرِبِ فَبُهِتَ الَّذِىْ كَفَرَ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ۚ﴿٢٥٨﴾

ڇا تو ان کي نہ ڏٺو جنهن ابراهيم سان ان جي رب جي باري ۾ جهڳڙو ڪيو، ڇاڪاڻ تہ الله ان کي بادشاهي ڏني هئي. جڏهن ابراهيم چيو تہ منهنجو رب اُهو آهي جيڪو جيئاري ٿو ۽ ماري ٿو. اُن چيو آئون بہ جيئاريان ٿو ۽ ماريان ٿو. ابراهيم چيو الله سج کي اوڀر مان اوياري ٿو، پوءِ تون اُن کي اولهہ کان آڻ. تڏهن هو منڪر حيران رهجي ويو. ۽ الله ظالمن کي راهہ نہ ٿو ڏيکاري. ٢٥٨

---

موجوده زماني ۾ عوامي حمايت سان حڪومت جو حق حاصل ٿيندو آهي. پر جمهوريت جي دور کان اڳ اڪثر بادشاهہ ماڻهن کي اِهو يقين ڏياري انهن تي حڪومت ڪندا هئا تہ اهي خدا جا انساني روپ آهن. قديم عراق جي بادشاهہ نمرود جو معاملو بہ اُهوئي هو جيڪو حضرت ابراهيمؑ جو همعصر هو. ان جي قوم سج کي ديوتائن جو سردار مڃيندي هئي ۽ ان جي پوڄا ڪندي هئي. نمرود چيو تہ هو سج ديوتا جو مظهر آهي، ان ڪري هو ماڻهن جي مٿان حڪومت ڪرڻ جو خدائي حق رکي ٿو. حضرت ابراهيمؑ ان وقت عراق ۾ جڏهن توحيد جو آواز بلند ڪيو تہ ان جو سياست ۽ حڪومت سان ڪوبہ سڌو سنئون تعلق نہ هو. پاڻؑ ماڻهن کي صرف اِهو چئي رهيا هئا تہ توهان جو خالق ۽ مالڪ صرف هڪ الله آهي. ڪوبہ خدائيءَ ۾ اُن جو شريڪ نہ آهي. ان ڪري توهان ان جي ئي عبادت ڪريو. ان کان ئي ڊڄو ۽ انهيءَ مان اميدون رکو. جيئن تہ ان غير سياسي دعوت ۾ نمرود کي پنهنجي سياست تي چوٽ لڳندي نظر آئي، اهڙو عقيدو جنهن ۾ سج کي هڪ بي زور ٻانهو ٻڌايو ويو هو اهو ڄڻ تہ ان اعتقاد جي بنياد کي ڪيرائي رهيو هو، جنهن تي نمرود پنهنجو سياسي تخت وڇايو ويٺو هو. ان ڪري هو حضرت ابراهيمؑ جو دشمن ٿي پيو.

حضرت ابراهيمؑ نمرود سان جيڪا گفتگو ڪئي، ان مان انبياء جي دعوت جي طريقي جي خبر پوي ٿي. نمرود جي سوال جي جواب ۾ پاڻؑ فرمايو تہ منهنجو رب اُهو آهي جنهن جي اختيار ۾ زندگي ۽ موت آهي. نمرود مناظري وارو انداز اختيار ڪندي چيو تہ موت ۽ زندگي تي تہ آءٌ بہ اختيار رکان ٿو. جنهن کي چاهيان مارائي ڇڏيان ۽ جنهن کي چاهيان زندهہ رهڻ ڏيان. پاڻؑ نمرود کي جواب ڏئي پئي سگهيا. پر پاڻ گفتگو کي مناظرو بڻائڻ پسند نہ ڪيو، ان ڪري پاڻ يڪدم ٻيو مثال پيش ڪيو، جنهن جي جواب ۾ نمرود ان قسم جي ڳالهہ نٿي چئي سگهيو جيڪا هن پهرين مثال جي جواب ۾ چئي هئي. حضرت ابراهيمؑ جي لاءِ نمرود دشمن نہ هو بلڪ مدعو جي حيثيت رکندو هو، ان ڪري

انهن کي اِهو سمجهڻ ۾ دير نہ لڳي تہ دليل جو ڪهڙو حڪيماڻو انداز اختيار ڪرڻ کپي.

موجوده دنيا امتحان جي دنيا آهي. ان ڪري ان کي اهڙيءَ طرح ٺاهيو ويو آهي جو هڪ ئي شيءِ کي ماڻهو مختلف معنيٰ ۾ وٺي سگهي ٿو. مثال طور هڪ شخص وٽ دولت ۽ اقتدار اچي وڃي تہ هو ان کي اهڙي رخ سان بہ ڏسي سگهي ٿو تہ ان جي ڪاميابي ان کي پنهنجن صلاحيتن جو نتيجو نظر اچي. اهڙيءَ طرح اهو بہ ممڪن آهي تہ هو ان کي اهڙي رخ سان ڏسي تہ هن کي محسوس ٿئي تہ جيڪو ڪجهہ هن کي مليو آهي اُهو سراسر خدا جو انعام آهي. پهرين صورت ظلم جي صورت آهي ۽ ٻي شڪر جي صورت. جنهن شخص جي اندر ظالماڻو مزاج هوندو تہ ان جي لاءِ موجوده دنيا صرف گمراهيءَ جي خوراڪ هوندي. هن کي هر واقعي ۾ تڪبّر ۽ خود پسندي جي غذا ملندي. ان جي ابتڙ جنهن جي اندر شڪر جو مزاج هوندو، ان جي لاءِ هر واقعي ۾ هدايت جو سامان هوندو. خدا جي دنيا پنهنجن سيني وسعتن سان گڏ ان جي لاءِ ايمان جي رزق جو دستر خوان بڻجي ويندي.

اَوۡ کَالَّذِیۡ مَرَّ عَلٰی قَرۡیَۃٍ وَّ هِیَ خَاوِیَۃٌ عَلٰی عُرُوۡشِهَا ۚ قَالَ اَنّٰی یُحۡیٖ هٰذِهِ اللّٰهُ بَعۡدَ مَوۡتِهَا ۚ
فَاَمَاتَهُ اللّٰهُ مِائَۃَ عَامٍ ثُمَّ بَعَثَهٗ ؕ قَالَ کَمۡ لَبِثۡتَ ؕ قَالَ لَبِثۡتُ یَوۡمًا اَوۡ بَعۡضَ یَوۡمٍ ؕ قَالَ
بَلۡ لَّبِثۡتَ مِائَۃَ عَامٍ فَانۡظُرۡ اِلٰی طَعَامِکَ وَ شَرَابِکَ لَمۡ یَتَسَنَّهۡ ۚ وَ انۡظُرۡ اِلٰی حِمَارِکَ
وَلِنَجۡعَلَکَ اٰیَۃً لِّلنَّاسِ وَ انۡظُرۡ اِلَی الۡعِظَامِ کَیۡفَ نُنۡشِزُهَا ثُمَّ نَکۡسُوۡهَا لَحۡمًا ؕ فَلَمَّا
تَبَیَّنَ لَهٗ ۙ قَالَ اَعۡلَمُ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰی کُلِّ شَیۡءٍ قَدِیۡرٌ ﴿٢٥٩﴾ وَ اِذۡ قَالَ اِبۡرٰهٖمُ رَبِّ اَرِنِیۡ کَیۡفَ
تُحۡیِ الۡمَوۡتٰی ؕ قَالَ اَوَ لَمۡ تُؤۡمِنۡ ؕ قَالَ بَلٰی وَ لٰکِنۡ لِّیَطۡمَئِنَّ قَلۡبِیۡ ؕ قَالَ فَخُذۡ اَرۡبَعَۃً مِّنَ
الطَّیۡرِ فَصُرۡهُنَّ اِلَیۡکَ ثُمَّ اجۡعَلۡ عَلٰی کُلِّ جَبَلٍ مِّنۡهُنَّ جُزۡءًا ثُمَّ ادۡعُهُنَّ یَاۡتِیۡنَکَ
٣٥ ع ٣ سَعۡیًا ؕ وَ اعۡلَمۡ اَنَّ اللّٰهَ عَزِیۡزٌ حَکِیۡمٌ ﴿٢٦٠﴾

يا جيئن اهو جنهن جو گذر هڪ بستي جي پرسان ٿيو ۽ اها ڇتين پر ڪريل هئي. ان چيو: هلاڪ ٿيڻ کان پوءِ وري الله هِن بستي کي ڪيئن زنده ڪندو. پوءِ الله ان کي سؤ ورهين تائين موت ڏئي ڇڏيو. پوءِ ان کي اٿاريائين. الله پڇيو تون ڪيتري دير اُن حالت ۾ رهيو آهين. هُن چيو هڪ ڏينهن يا هڪ ڏينهن کان ڪجهہ گهٽ. الله چيو نہ بلڪ تون سؤ ورهيہ رهيو آهين. هاڻي تون پنهنجي کاڌي پيتي جي شين کي ڏس تہ اهي خراب نہ ٿيون آهن ۽ پنهنجي گڏهہ کي ڏس ۽ تہ جيئن اسين توکي ماڻهن جي لاءِ هڪ نشاني بڻايون ۽ هڏن ڏانهن ڏس ڪهڙي طرح اسان انهن جو ڍانچو ڪڙو ڪريون ٿا. پوءِ ان تي گوشت چاڙهيون ٿا. پوءِ جڏهن ان تي واضح ٿي ويو تہ چيائين آءٌ ڄاڻان ٿو تہ بيشڪ الله هر شيءِ تي قدرت رکي ٿو. ۽ جڏهن ابراهيم چيو اي منهنجا رب! مون کي ڏيکار تہ تون مئلن کي ڪهڙي طرح زنده ڪندين. الله چيو، ڇا تون يقين نہ ٿو رکين. ابراهيم چيو ڇو نہ، پر ان ڪري جو منهنجي دل کي تسلي ٿئي. فرمايائين تون چار پکي وٺ ۽ انهن کي پاڻ سان هيراءِ. پوءِ انهن مان هر هڪ کي ڌار ڌار ٽڪريءَ تي رکي ڇڏ، پوءِ انهن کي سڏ. اهي تو ڏانهن ڊوڙندا هليا ايندا. ۽ ڄاڻي وٺ تہ الله زبردست آهي، حڪمت وارو آهي. ٢٥٩-٢٦٠

هتي موت کان پوءِ ٻيهر زندهہ ٿيڻ وارن جن ٻن تجربن جو ذڪر آهي. انهن جو تعلق نبين سان آهي. پهريون تجربو غالبًا حضرت عزير عليه السلام سان گذريو جن جو زمانو پنجين صدي قبل مسيح جو آهي ۽ ٻيو تجربو حضرت ابراهيم عليه السلام سان تعلق رکي ٿو، جن جو زمانو ١٩٨٥-٢١٦٠ قبل مسيح جي وچ جو آهي. نبي الله جي طرفان ان لاءِ مقرر ٿيندا آهن تہ جيئن ماڻهن کي غيبي حقيقتن کان باخبر ڪن، ان ڪري انهن کي اُهي غيبي شيون بي پرده ڪري ڏيکاريون ويندڀون آهن، جن تي ٻين لاءِ سڀني جو پردو وڌو ويو آهي. نبين سان اِهو خاص معاملو ان لاءِ ٿيندو آهي تہ جيئن هو انهن شين جا عيني شاهد بڻجي انهن بابت ماڻهن کي باخبر ڪري سگهن. هو ماڻهن کي جن غيبي حقيقتن جي خبر ڏين تہ انهن لاءِ چئي سگهن تہ اسان هڪ ڏٺل شيءِ ڪان توهان کي خبردار ڪري رهيا آهيون نہ وري فقط ٻڌل شيءِ ڪان.

نبين کي چاليهہ سالن جي عمر ۾ نبوت ڏني ويجي ٿي. نبوت کان پهرين انهن جي پوري زندگي ماڻهن جي سامهون اهڙيءَ طرح گذرندي آهي جو انهن کان ڪنهن بہ ماڻهوءَ ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ٻڌو هوندو آهي. تقريبًا اڌ صدي تائين ماحول جي اندر پنهنجي سچي هئڻ جو ثبوت ڏيڻ کانپوءِ اهو وقت ايندو آهي جو الله انهن کي ماڻهن جي سامهون انهن غيبي حقيقتن جي اعلان لاءِ بيهاري جن کي آزمائش جي مصلحت جي ڪري ماڻهن کان لڪايو ويو آهي. ماحول جا اِهي سيني کان وڌيڪ سچا ماڻهو هڪ پاسي پنهنجي مشاهدي کان ماڻهن کي باخبر ڪندا آهن ۽ ٻئي پاسي عقل ۽ فطرت جي شاهدي سان ان جو دليل بہ ڏيندا آهن. وڌيڪ اِهو تہ نبين کي هميشہ تمام سخت حالتون پيش ايندڀون آهن، ان جي باوجود هو پنهنجي قول تان نہ ٿا ڦرن، هو انتهائي ثابت قدمي سان پنهنجي ڳالهہ تي ڄميل رهندا آهن. اهڙيءَ طرح اِهو ثابت ٿي ويندو آهي تہ جيڪي ڪجهہ هو چوندا آهن ان ۾ اهي پوري طرح سنجيده آهن. فرضي طور تي انهن جي ڪابہ ڳالهہ هٺ ٺوڪي نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ هٺ ٺوڪي ڳالهہ کي پيش ڪرڻ وارو ڪڏهن بہ ايترين سخت حالتن ۾ پنهنجي ڳالهہ تي قائم نہ ٿو رهي سگهي ۽ نہ ئي ان جي ڳالهہ سڄي ڪائنات سان ايتري مطابقت رکي سگهي ٿي جو اُها سموري ان جي تصديق ڪرڻ واري بڻجي وڃي.

مَثَلُ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ كَمَثَلِ حَبَّةٍ اَنْۢبَتَتْ سَبْعَ سَنَابِلَ فِيْ كُلِّ
سُنْۢبُلَةٍ مِّائَةُ حَبَّةٍ ؕ وَ اللّٰهُ يُضٰعِفُ لِمَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٦١﴾ اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ
اَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ لَا يُتْبِعُوْنَ مَاۤ اَنْفَقُوْا مَنًّا وَّ لَاۤ اَذًى ۙ لَّهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ
رَبِّهِمْ ۚ وَ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٦٢﴾ قَوْلٌ مَّعْرُوْفٌ وَّ مَغْفِرَةٌ خَيْرٌ مِّنْ
صَدَقَةٍ يَّتْبَعُهَاۤ اَذًى ؕ وَ اللّٰهُ غَنِيٌّ حَلِيْمٌ ﴿٢٦٣﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُبْطِلُوْا صَدَقٰتِكُمْ
بِالْمَنِّ وَ الْاَذٰى ۙ كَالَّذِيْ يُنْفِقُ مَالَهٗ رِئَآءَ النَّاسِ وَ لَا يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ
فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ صَفْوَانٍ عَلَيْهِ تُرَابٌ فَاَصَابَهٗ وَابِلٌ فَتَرَكَهٗ صَلْدًا ؕ لَا يَقْدِرُوْنَ عَلٰى
شَيْءٍ مِّمَّا كَسَبُوْا ؕ وَ اللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٦٤﴾

جيڪي ماڻهو پنهنجو مال الله جي راهہ ۾ خرچ ڪن ٿا، انهن جو مثال اهڙو آهي جيئن هڪ داڻو هجي، جنهن مان ست سنگ پيدا ٿين. هر سنگ ۾ سؤ داڻا هجن ۽ الله وڌائي ٿو جنهن جي لاءِ چاهي ٿو ۽ الله وسعت وارو، ڄاڻڻ وارو آهي. جيڪي ماڻهو پنهنجو مال الله جي راهہ ۾ خرچ ڪن ٿا ۽ خرچ ڪرڻ کان پوءِ نہ احسان جتائين ٿا ۽ نہ تڪليف پهچائيندا آهن، انهن جي لاءِ ان جي رب وٽ انهن جو اجر آهي ۽ انهن جي لاءِ نہ ڪو خوف آهي ۽ نہ هو غمگين ٿيندا. مناسب ڳالهہ چوڻ ۽ درگذر ڪرڻ ان صدقي کان بهتر آهي، جنهن جي پويان ايذاءُ هجي ۽ الله بي نياز آهي، بردبار آهي. اي ايمان وارؤ! احسان جتائي ۽ ستائي پنهنجي صدقي کي ضايع نہ ڪريو، جهڙي طرح اُهو شخص جيڪو پنهنجو مال ڏيکارڻ جي لاءِ خرچ ڪندو آهي ۽ هو الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان نہ ٿو رکي. ان جو مثال ائين آهي جيئن هڪ ٽڪري هجي جنهن تي ڪجهہ مٽي هجي، پوءِ ان تي زور جو مينهن وسي ۽ ان کي بلڪل صاف ڪري ڇڏي. اهڙن ماڻهن کي پنهنجي ڪمائي مان ڪجهہ بہ هٿ نہ ايندو ۽ الله منڪرن کي راهہ نہ ٿو ڏيکاري. ٢٦١-٢٦٤

---

هر عمل جيڪو ماڻهو ڪري ٿو اهو ڄڻ تہ هڪ ٻج آهي، جيڪو ماڻهو ”زمين“ ۾ وجهي ٿو. جيڪڏهن هن جو عمل ان لاءِ هو تہ ماڻهو هن کي ڏسن تہ هن پنهنجو ٻج دنيا جي زمين ۾ وڌو تہ جيئن هو هتي جي زندگي ۾ پنهنجي عمل جو ڦل حاصل ڪري سگهي ۽ جيڪڏهن هن جو عمل اُن ڪري هو تہ الله ان کي ”ڏسي“ تہ ان آخرت جي زمين ۾ پنهنجو ٻج وڌو، جيڪو اڳين دنيا ۾ پنهنجن گلن ۽ ميون جون بهارون ڏيکاريندو. دنيا ۾ هڪ داڻي مان هزار داڻا پيدا ٿيندا آهن. اِهوئي حال آخرت جي پوک ۾ داڻو وجهڻ جو بہ آهي.

دنيا جا فائدا يا دنيا جي شهرت ۽ عزت جي لاءِ خرچ ڪرڻ وارو هِن ئي دنيا ۾ پنهنجو بدلو وٺڻ چاهي ٿو. اِهڙي ماڻهوءَ جي لاءِ آخرت ۾ ڪوبہ حصو نہ آهي. پر جيڪو شخص الله جي لاءِ خرچ ڪري ان جو حال اِهو هوندو آهي تہ هو ڪنهن تي بہ احسان نہ ٿو جتائي، هُن جڏهن الله جي لاءِ خرچ ڪيو آهي تہ انسان تي ان جو ڪهڙو احسان. ان جي رقم خرچ ٿي جن ماڻهن تائين پهچندي آهي اُنهن طرفان ان کي سٺو جواب نہ ملي تہ هو ناراضگي جو اظهار نہ ٿو ڪري. هن کي تہ سٺو جواب الله کان وٺڻو آهي، پوءِ انسانن کان ملڻ يا نہ ملڻ جو هن کي ڪهڙو غم. جيڪڏهن ڪنهن سواليءَ کي هو نہ ٿو ڏئي سگهي تہ هو اُن کي برو ڪلمو نہ ٿو چئي، بلڪ نرميءَ سان معذرت ڪري ڇڏي ٿو. ڇاڪاڻ تہ هو ڄاڻي ٿو تہ هو جيڪو ڪجهہ ڳالهائي رهيو آهي اهو الله جي سامهون ڳالهائي رهيو آهي. خدا جو خوف ان کي انسان جي اڳيان زبان روڪڻ تي مجبور ڪري ڇڏي ٿو.

پٿر جي ٽڪري جي مٿان ڪجهہ مٽي ڄمي وڃي تہ بظاهر اُها مٽيءَ جي ڏسڻ ۾ ايندي، پر مينهن وسڻ سان ئي مٿانهين مٽي وهي وڃي ٿي ۽ اندران خالي پٿر نڪري ايندو. اهڙو حال ان انسان جو هوندو آهي جيڪو ظاهري دينداري اختيار ڪيل هجي. دين اُن جي اندر تائين داخل نہ ٿيو هجي. اهڙي ماڻهو کان جيڪڏهن ڪو سوال ڪندڙ نامناسب انداز سان سوال ڪري يا ڪنهن جي طرفان اِهڙي ڳالهہ سامهون اچي وڃي جيڪا هُن جي انا تي چوٽ لڳائي تہ هو مڃرجي انصاف جي حدن کي ٽوڙي ڇڏي ٿو. اهڙو واقعو هڪ اهڙو طوفان بڻجي وڃي ٿو جيڪو هن جي مٿانهين ”مٽي“ کي وهائي وڃي ٿو ۽ پوءِ ان جي اندر جو انسان سامهون اچي وڃي ٿو، جنهن کي هو دين جي ظاهري لباس جي پويان لڪايو ويٺو هو. الله جي لاءِ عمل ڪرڻ ڄڻ تہ ڏنل تي اڻ ڏنل کي ترجيح ڏيڻ آهي، جيڪو اُن بلند نظريءَ جو ثبوت ڏي، اُهوئي اهو شخص آهي جنهن تي الله جي لڪيل معرفت جا دروازا کلندا آهن.

وَ مَثَلُ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمُ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ وَ تَثْبِيْتًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ كَمَثَلِ
جَنَّةٍۭ بِرَبْوَةٍ اَصَابَهَا وَابِلٌ فَاٰتَتْ اُكُلَهَا ضِعْفَيْنِ ۚ فَاِنْ لَّمْ يُصِبْهَا وَابِلٌ فَطَلٌّ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا
تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۲۶۵﴾ اَيَوَدُّ اَحَدُكُمْ اَنْ تَكُوْنَ لَهٗ جَنَّةٌ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّ اَعْنَابٍ تَجْرِيْ مِنْ
تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۙ لَهٗ فِيْهَا مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ ۙ وَ اَصَابَهُ الْكِبَرُ وَ لَهٗ ذُرِّيَّةٌ ضُعَفَآءُ ۖ فَاَصَابَهَآ
٣٦ ع اِعْصَارٌ فِيْهِ نَارٌ فَاحْتَرَقَتْ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿۲۶۶﴾

۽ انهن ماڻهن جو مثال جيڪي پنهنجو مال الله جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ ۽ پنهنجي نفس جي پختگيءَ جي لاءِ خرچ ڪندا آهن هڪ باغ وانگر آهي جيڪو بلنديءَ تي هجي. ان تي زور جو مينهن وسي ته اهو ٻيڻو ڦل ڏي ۽ جيڪڏهن زور جو مينهن نه پوي ته هلڪي بوند به ڪافي آهي، ۽ جيڪو ڪجهه توهان ڪيو ٿا الله ان کي ڏسي رهيو آهي. ڇا توهان مان ڪو اِهو پسند ڪري ٿو ته ان وٽ کجين ۽ انگورن جو هڪ باغ هجي، ان جي هيٺان نهرون وهنديون هجن. ان ۾ هن جي لاءِ هر قسم جا ميوا هجن، ۽ هو پوڙهو ٿي وڃي ۽ سندس اولاد اڃا ڪمزور هجي. تڏهن ان باغ کي اِهڙو واچوڙو لڳي جنهن ۾ باهه هجي، پوءِ اُهو باغ سڙي وڃي. الله اهڙيءَ طرح توهان جي لاءِ کولي نشانيون بيان ڪري ٿو ته جيئن توهان غور ڪريو. ٢٦٥-٢٦٦

---

ماڻهو جڏهن ڪنهن شيءِ جي لاءِ عمل ڪري ٿو ته انهي سان گڏ هو ان جي حق ۾ پنهنجي قوت ارادي کي مضبوط ڪري ٿو. جيڪڏهن هو پنهنجي خواهش جي تحت عمل ڪري ته هن پنهنجي دل کي پنهنجي خواهش تي ڄمايو. ان جي ابتڙ ماڻهو جيڪڏهن اتي عمل ڪري جتي خدا چاهي ٿو ته عمل ڪيو وڃي ته هن پنهنجي دل کي خدا تي ڄمايو. ٻنهي رستن ۾ ائين ٿيندو آهي ته ڪڏهن آسان حالتن ۾ عمل ڪرڻو هوندو آهي ۽ ڪڏهن مشڪل حالتن ۾. پوءِ حالتون جيتريون به سخت هجن ماڻهوءَ کي جيترو وڌيڪ ڏکيائين جو مقابلو ڪندي پنهنجو عمل ڪرڻو پوي، اوترو ئي وڌيڪ هو پنهنجي مقصد جي حق ۾ پنهنجي ارادي کي پختو ڪندو. عام حالتن ۾ الله جي راهه ۾ پنهنجي سرمائي کي خرچ ڪرڻ به باعث ثواب آهي، پر جڏهن مخالف حالتن جي باوجود خاص قوت ارادي کي استعمال ڪندي ماڻهو الله جي راهه ۾ پنهنجو سرمايو ڏئي ڇڏي ته ان جو ثواب الله وٽ تمام گهڻو آهي. جنهن جاءِ تي خرچ ڪرڻ دنياوي لحاظ کان بي فائدي هجي اُتي الله جي رضا جي لاءِ خرچ ڪرڻ. جنهن کي ڏيڻ تي دل نه چوي ان کي الله جي لاءِ ڏيڻ، جنهن سان لڳ لاڳاپي تي طبيعت نه چوي ان سان الله جي لاءِ لاڳاپو اختيار ڪرڻ اُهي شيون آهن، جيڪي ماڻهوءَ کي سيني کان وڌيڪ خداپرستي تي ڄمائين ٿيون ۽ ان کي الله جي خاص رحمت ۽ نصرت جو مستحق بڻائين ٿيون.

ماڻهو جوانيءَ جي عمر ۾ باغ لڳائيندو آهي، ته جيئن پيريءَ ۾ ان جو ڦل کائي. پوءِ اُهو شخص ڪهڙو نه بد نصيب آهي جنهن جو اهو سرسبز باغ ان جي آخري عمر ۾ ان وقت برباد ٿي وڃي، جڏهن هو سيني کان وڌيڪ ان جو محتاج هجي ۽ ان جي لاءِ اِهو وقت به ختم ٿي چڪو هجي جو هو ٻيهر نئون باغ لڳائي ۽ ان کي نئين سر تيار ڪري. اِهڙو ئي حال انهن ماڻهن جو آهي جن دين جو ڪم دنياوي عزت ۽ فائدي جي لاءِ ڪيو. هو بظاهر نيڪي ۽ ڀلائيءَ جا ڪم ڪندا رهيا. پر انهن جو ڪم رڳو شڪل جي

لحاظ کان عام دنيادار ماڻهن کان مختلف هو. پر حقيقت جي لحاظ کان ٻنهي ۾ کو بہ فرق نہ هو. عام دنيادار جنهن دنياوي ترقي ۽ نالي جي لاءِ دنياوي نقشن ۾ پيچ ڊڪ ڪري رهيا هئا، انهي دنياوي ترقي ۽ شهرت جي لاءِ انهن ديني نقشن ۾ پيچ ڊڪ شروع ڪري ڇڏي. جيڪا شهرت ۽ عزت ٻيا ماڻهو دنيا ۾ پنهنجو سرمايو خرچ ڪري حاصل ڪري رهيا هئا، انهيءَ شهرت ۽ عزت کي انهن دين ۾ پنهنجو سرمايو خرچ ڪري حاصل ڪرڻ چاهيو. اهڙا ماڻهو جڏهن مرڻ کان پوءِ آخرت جي عالم ۾ پهچندا تہ اُتي انهن جي لاءِ ڪجهہ بہ نہ هوندو. انهن جيڪو ڪجهہ ڪيو هن دنيا جي لاءِ ڪيو، پوءِ هو پنهنجي عمل جو ڦل اچڻ واري دنيا ۾ ڪيئن حاصل ڪري سگهن ٿا. الله جون نشانيون هميشہ ظاهر هونديون آهن. پر اهي خاموش زبان ۾ هونديون آهن. انهن مان اُهوئي سبق حاصل ڪري سگهي ٿو جيڪو پنهنجي اندر سوچڻ جي صلاحيت پيدا ڪري چڪو هجي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْفِقُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا كَسَبْتُمْ وَ مِمَّآ اَخْرَجْنَا لَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ ۪ وَ لَا تَيَمَّمُوا الْخَبِيْثَ مِنْهُ تُنْفِقُوْنَ وَ لَسْتُمْ بِاٰخِذِيْهِ اِلَّآ اَنْ تُغْمِضُوْا فِيْهِ ؕ وَ اعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ ﴿٢٦٧﴾ اَلشَّيْطٰنُ يَعِدُكُمُ الْفَقْرَ وَ يَاْمُرُكُمْ بِالْفَحْشَآءِ ۚ وَ اللّٰهُ يَعِدُكُمْ مَّغْفِرَةً مِّنْهُ وَ فَضْلًا ؕ وَ اللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٦٨﴾ يُّؤْتِي الْحِكْمَةَ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَ مَنْ يُّؤْتَ الْحِكْمَةَ فَقَدْ اُوْتِيَ خَيْرًا كَثِيْرًا ؕ وَ مَا يَذَّكَّرُ اِلَّآ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿٢٦٩﴾

اي ايمان وارؤ! خرچ ڪريو پاڪ شيءِ پنهنجي ڪمائي مان ۽ ان مان جيڪو اسان توهان جي لاءِ زمين مان پيدا ڪيو آهي ۽ ردي شيءِ جو ارادو نہ ڪريو تہ ان مان خرچ ڪريو. جنهن کي هوند اوهان بہ اکين ٻوٽڻ کان سواءِ نہ وٺو ۽ ڄاڻي وٺو تہ الله بي نياز آهي، ساراهيل آهي. شيطان توهان کي محتاجي کان ڊيڄاري ٿو ۽ برائي جي ترغيب ڏي ٿو ۽ الله وعدو ڏي ٿو پنهنجي بخشش جو ۽ فضل جو ۽ الله وسعت وارو آهي، ڄاڻڻ وارو آهي. هو جنهن کي چاهي ٿو حڪمت ڏي ٿو ۽ جنهن کي حڪمت ملي ان کي وڏي دولت ملي ويئي ۽ نصيحت اُهي ئي حاصل ڪندا آهن جيڪي عقل وارا آهن. ٢٦٧-٢٦٩

---

ماڻهو دنيا ۾ جيڪو ڪجهہ ڪمائي ٿو، ان کي خرچ ڪرڻ جون ٻہ صورتون آهن. هڪ اِها تہ ان کي شيطان جي ٻڌايل رستي ۾ خرچ ڪيو وڃي، ٻي اِها تہ ان کي الله جي ٻڌايل رستي ۾ خرچ ڪيو وڃي. شيطان ائين ڪندو آهي جو ماڻهوءَ جي دل ۾ ذاتي تقاضائن جي اهميت پيدا ڪندو آهي. هو ان کي سيکاريندو آهي تہ تو جيڪو ڪجهہ ڪمايو آهي ان جو بهترين استعمال اِهو آهي تہ ان کي پنهنجي ذاتي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ لڳاءِ. پوءِ جڏهن شيطان ڏسي ٿو تہ ماڻهو وٽ ان جي حقيقي ضرورت کان وڌيڪ آهي تہ هو ان جي اندر هڪ ٻيو جذبو جاڳائي ٿو. اِهو ڏيکاءُ ۽ نمائش جو جذبو آهي. هاڻي هو پنهنجي دولت کي ٻي ڏڙڪ نمائشي ڪمن ۾ اڏائڻ لڳي ٿو ۽ خوش ٿيندو آهي تہ هن پنهنجي دولت جو بهترين استعمال ڪيو.

ماڻهوءَ کي گهرجي تہ پنهنجي مال کي پنهنجي ذاتي شيءِ نہ سمجهي، بلڪ الله جي شيءِ

سمجهي. هو پنهنجي ڪمائي مان پنهنجي حقيقي ضرورت جي مطابق وٺي ۽ ان کان پوءِ جيڪو ڪجهه آهي ان کي بلند مقصد ۾ لڳائي. هو خدا جي ڪمزور ٻانهن کي ڏي ۽ خدا جي دين جي ضرورتن ۾ خرچ ڪري. ماڻهو جڏهن الله جي ڪمزور ٻانهن تي پنهنجو مال خرچ ڪري ٿو ته ڄڻ هو پنهنجي رب کان ان ڳالهه جو اميدوار بڻجي رهيو هوندو آهي ته آخرت ۾ جڏهن هو خالي هٿين الله جي سامهون حاضر ٿئي ته اُن جو خدا ان کي پنهنجن رحمتن کان محروم نه ڪري. اهڙيءَ طرح جڏهن هو دين جي ضرورتن ۾ پنهنجو مال ڏي ٿو ته هو پنهنجي پاڻ کي خدا جي مشن ۾ شريڪ ڪري ٿو. هو پنهنجي مال کي الله جي مال ۾ شامل ڪري ٿو ته جيئن اُن جي حقير پونجي خدا جي وڏي خزاني ۾ ملي گهڻي ٿي وڃي.

جيڪو شخص پنهنجي مال کي الله جي ٻڌايل طريقي جي مطابق خرچ ڪري ٿو ته هو ان ڳالهه جو ثبوت ڏي ٿو ته هن کي حڪمت ۽ دانائيءَ مان حصو مليو آهي. سيني کان وڏي ناداني اِها آهي ته ماڻهو مال جي محبت ۾ مبتلا هجي ۽ ان کي الله جي رستي ۾ خرچ ڪرڻ کان رڪجي وڃي ۽ سڀ کان وڏي دانائي اِها آهي ته اقتصادي مفاد ماڻهوءَ لاءِ الله جي راهه ۾ اڳيان وڌڻ ۾ رڪاوٽ نه بڻجن. هو پنهنجي پاڻ کي خدا ۾ ايترو ملائي ڇڏي جو خدا کي پنهنجو ۽ پاڻ کي خدا جو سمجهڻ لڳي. جيڪو شخص ذاتي مصلحتن جي خول ۾ جيئندو آهي، ان جي اندر اُها نگاهه پيدا نٿي ٿي سگهي، جيڪا بلند حقيقتن کي ڏسي ۽ اعليٰ ڪيفيتن جو تجربو ڪري. اُن جي ابتڙ جيڪو شخص ذاتي مصلحتن کي نظر انداز ڪري خدا ڏانهن وڌي ٿو ته هو پنهنجي پاڻ کي حد بندي کان مٿي ڪڍي ٿو، هو پنهنجي شعور کي ترقي ڏئي اُن خدا جي ويجهو ڪري وٺي ٿو جيڪو غني ۽ حميد ۽ وسيع ۽ عليم آهي. هو شين کي ان جي اصلي روپ ۾ ڏسڻ لڳي ٿو، ڇاڪاڻ ته هو انهن رڪاوٽن کان پار ٿي ويندو آهي، جيڪي ماڻهوءَ جي لاءِ ڪنهن شيءِ کي ان جي اصلي روپ ۾ ڏسڻ ۾ رڪاوٽ بڻجن ٿيون. ڪا به ڳالهه ڇاهي ڪيتري ئي سچي هجي، پر ان جي سچائي ڪنهن ماڻهو تي ان وقت ئي کلندي آهي جڏهن هو ان کي ڪلي ذهن سان ڏسي سگهي.

وَ مَآ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ نَّفَقَةٍ اَوْ نَذَرْتُمْ مِّنْ نَّذْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُهٗ ؕ وَ مَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ
اَنْصَارٍ ﴿٢٧٠﴾ اِنْ تُبْدُوا الصَّدَقٰتِ فَنِعِمَّا هِيَ ۚ وَ اِنْ تُخْفُوْهَا وَ تُؤْتُوْهَا الْفُقَرَآءَ فَهُوَ خَيْرٌ
لَّكُمْ ؕ وَ يُكَفِّرُ عَنْكُمْ مِّنْ سَيِّاٰتِكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿٢٧١﴾ لَيْسَ عَلَيْكَ هُدٰىهُمْ
وَ لٰكِنَّ اللّٰهَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ مَا تُنْفِقُوْا مِنْ خَيْرٍ فَلِاَنْفُسِكُمْ ؕ وَ مَا تُنْفِقُوْنَ اِلَّا
ابْتِغَآءَ وَجْهِ اللّٰهِ ؕ وَ مَا تُنْفِقُوْا مِنْ خَيْرٍ يُّوَفَّ اِلَيْكُمْ وَ اَنْتُمْ لَا تُظْلَمُوْنَ ﴿٢٧٢﴾ لِلْفُقَرَآءِ
الَّذِيْنَ اُحْصِرُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ضَرْبًا فِي الْاَرْضِ ؗ يَحْسَبُهُمُ الْجَاهِلُ
اَغْنِيَآءَ مِنَ التَّعَفُّفِ ۚ تَعْرِفُهُمْ بِسِيْمٰهُمْ ۚ لَا يَسْـَٔلُوْنَ النَّاسَ اِلْحَافًا ؕ وَ مَا تُنْفِقُوْا
مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيْمٌ ﴿٢٧٣﴾ اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ بِالَّيْلِ وَ النَّهَارِ سِرًّا وَّ ع ٣٧
عَلَانِيَةً فَلَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٧٤﴾ وقف منزل

۽ توهان جيڪو خرچ ڪريو ٿا يا جيڪا باس باسيو ٿا، ان کي الله ڄاڻي ٿو ۽ ظالمن جو ڪو به مددگار نہ آهي. جيڪڏهن توهان پنهنجا صدقا ظاهر ظهور ڏيو تڏهن بہ سٺو آهي ۽ جيڪڏهن توهان انهن کي لڪائي محتاجن کي ڏيو تہ هي توهان جي لاءِ وڌيڪ بهتر آهي ۽ الله توهان جي گناهن کي ميٽيندو ۽ الله توهان جي ڪمن کان واقف آهي. انهن کي هدايت تي آڻڻ تنهنجو ذمو نہ آهي، بلڪ الله جنهن کي چاهي ٿو هدايت ڏي ٿو ۽ جيڪو مال توهان خرچ ڪندؤ پنهنجي لاءِ ئي ڪندؤ ۽ توهان خرچ نہ ڪريو، پر سواءِ الله جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ ۽ توهان جيڪو مال خرچ ڪندؤ. اُهو توهان کي پورو ڪري ڏنو ويندو ۽ توهان جي لاءِ ان ۾ ڪمي نہ ڪئي ويندي. صدقا انهن حاجتمندن جي لاءِ آهن جيڪي الله جي راهہ ۾ گهيرجي ويا هجن، زمين ۾ ڊڪ ڊوڙ نہ ٿا ڪري سگهن. ناواقف ماڻهو انهن کي مالدار خيال ڪري ٿو انهن جي نہ گهرڻ جي ڪري. توهان انهن کي انهن جي شڪل مان سڃاڻي سگهو ٿا. هو ماڻهن کي چنبڙي ڪري سوال نہ ٿا ڪن. ۽ جيڪو مال توهان خرچ ڪندؤ، اُهو الله کي معلوم آهي. جيڪي ماڻهو پنهنجن مالن کي رات ۽ ڏينهن ۾ ڳجهي ۽ ظاهري طور خرچ ڪندا آهن، اُنهن جي لاءِ انهن جي رب وٽ اجر آهي ۽ انهن جي لاءِ نہ خوف آهي ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا. ٢٧٠-٢٧٤

---

الله جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ جي سڀ کان وڏي جاءِ اها آهي تہ دين جي خادمن جي مالي مدد ڪجي. جيڪي دين جي جدوجهد ۾ پنهنجي پاڻ کي مڪمل طور لڳائڻ جي ڪري بي روزگار ٿي ويا هجن. هڪ ڪامياب تاجر وٽ ڪنهن ٻئي ڪم جي لاءِ وقت نہ ٿو رهي. ٺيڪ اِهوئي معاملو دين جي خدمت جو آهي. جيڪو شخص مڪمل طرح سان پنهنجي پاڻ کي دين جي خدمت ۾ لڳائي، ان وٽ معاشي جدوجهد جي لاءِ وقت نہ ٿو بچي. وڌيڪ اِهو تہ هر ڪم جي پنهنجي هڪ فطرت آهي ۽ پنهنجي فطرت جي لحاظ کان اهو ڪم ماڻهوءَ جي ذهن کي هڪ خاص ڍنگ تي ڏاهي ٿو. جيڪو شخص تجارت ۾ لڳي ٿو اُن جي اندر آهستي آهستي تجارتي مزاج پيدا ٿي ويندو آهي. تجارت جي رستي جون باريڪيون يڪدم ان کي سمجھ ۾ اچي وينديون آهن. جڏهن تہ اُهوئي ماڻهو دين جي رستي جي گهرين ڳالهين کي سمجهي نہ ٿو سگهي. اِهوئي معاملو ٻي صورت ۾ دين جي خادم جو هوندو آهي. هاڻي ان جو حل ڇا هئڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ ڪنهن بہ سماج ۾ ٻنهي قسمن جي ڪمن جو هجڻ ضروري آهي. ان مسئلي جو حل اِهوئي آهي تہ جن ماڻهن وٽ معاشي وسيلا جمع ٿي ويا آهن، ان ۾ هو انهن ماڻهن جو حصو لڳائن جيڪي ديني مصروفيتن جي ڪري پنهنجي روزي ڪمائي نہ ٿا سگهن. اِها ڄڻ تہ هڪ خاموش ورهاست آهي جيڪا ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ خالص الله جي رضا لاءِ وجود ۾ ايندي آهي. دين جي خادم پنهنجي پاڻ کي خدا جي لاءِ هڪ پاسي ڪيو هو، ان ڪري هو انسان کان نہ ٿو گهري ۽ نہ ئي اُن کان اميد رکي ٿو. ٻئي طرف صاحب روُزگار ائين سوچي ٿو تہ مون وٽ معاشي وسيلا ان قيمت تي حاصل ٿيا آهن جو آئون خدمتِ دين جي راهہ ۾ اُهو ڪجھ نہ ڪري سگهيس جيڪو مون کي ڪرڻ کپي ها. ان ڪري ان جي تلافي اِها آهي جو آئون پنهنجي مال ۾ انهن ڀائرن جو حصو لڳايان جيڪي منهنجي ڪمي جي تلافي خدا وٽ ڪري رهيا آهن.

جڏهن دين جي جدوجهد اُن مرحلي ۾ هجي جو دين جي نالي تي معاشي عهدا نہ ملندا هجن، جڏهن دين جي راهہ ۾ لڳڻ وارو ماڻهو بي روزگار ٿي وڃي، ان وقت دين جي خادمن کي پنهنجو مال ڏيڻ بظاهر ماحول جي هڪ غير اهم طبقي سان پنهنجو رشتو جوڙڻ آهي. اِهڙن ماڻهن تي خرچ ڪرڻ مجلسن ۾ شهرت جو سبب نہ ٿو بڻجي. اهو ماڻهوءَ جي حيثيت ۽ شهرت ۾ اضافو نہ ٿو ڪري. پر اِهوئي اُهو خرچ آهي جيڪو ماڻهوءَ کي سڀ کان وڌيڪ الله جي رحمتن جو مستحق بڻائي ٿو.

اَلَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ الرِّبٰوا لَا يَقُوْمُوْنَ اِلَّا كَمَا يَقُوْمُ الَّذِيْ يَتَخَبَّطُهُ الشَّيْطٰنُ مِنَ الْمَسِّ ؕ
ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْٓا اِنَّمَا الْبَيْعُ مِثْلُ الرِّبٰوا ۘ وَ اَحَلَّ اللّٰهُ الْبَيْعَ وَ حَرَّمَ الرِّبٰوا ؕ فَمَنْ
جَآءَهٗ مَوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ فَانْتَهٰى فَلَهٗ مَا سَلَفَ ؕ وَ اَمْرُهٗٓ اِلَى اللّٰهِ ؕ وَ مَنْ عَادَ فَاُولٰٓئِكَ
اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢٧٥﴾ يَمْحَقُ اللّٰهُ الرِّبٰوا وَ يُرْبِي الصَّدَقٰتِ ؕ وَ اللّٰهُ لَا
يُحِبُّ كُلَّ كَفَّارٍ اَثِيْمٍ ﴿٢٧٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتَوُا
الزَّكٰوةَ لَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٧٧﴾

جيڪي ماڻهو وياج کائين ٿا، اهي قيامت ۾ نه اٿندا پر ان شخص وانگر جنهن کي شيطان ڇهڻ سان چريو بڻائي ڇڏيو هجي. اِهو ان ڪري جو انهن چيو تجارت ڪرڻ به اهڙو ئي آهي جيئن وياج وٺڻ. حالانڪ الله تجارت کي حلال ڪيو آهي ۽ وياج کي حرام ڪيو آهي. پوءِ جنهن شخص وٽ ان جي رب جي طرفان نصيحت پهتي ۽ هو مڙي ويو ته جيڪو ڪجهه هو وٺي چڪو اُهو اُن جي لاءِ آهي ۽ اُن جو معاملو الله جي حوالي آهي ۽ جيڪو شخص وري اُهوئي ڪري ته اُهي ئي ماڻهو دوزخي آهن، اهي ان ۾ هميشه رهندا. الله وياج کي ناس ڪري ٿو ۽ صدقات کي وڌائيندو آهي ۽ الله پسند نه ٿو ڪري ناشڪرن کي، گناهگارن کي. بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا ۽ نماز جي پابندي ڪئي ۽ زڪوات ادا ڪئي، تن لاءِ سندن رب وٽ اجر آهي. انهن جي لاءِ نه ڪو انديشو آهي ۽ نه هو غمگين ٿيندا. ٢٧٥-٢٧٧

---

ٻانهن جي وچ ۾ باهمي طور تي جيڪي معاشي تعلقات گهربل آهن، انهن جي علامت زڪوات آهي. زڪوات ۾ هڪ مسلمان ٻئي مسلمان جي حق جو اعتراف ايستائين ڪري ٿو جو هو پنهنجي ڪمائي جو هڪ حصو ڪڍي پنهنجي ڀاءُ کي ڏي ٿو. جيڪو دين حق شناسي جو اهڙو ماحول ناهڻ چاهي ٿو اُهو وياج جي زرپرستي واري طريقي کي ڪهڙي طرح به قبول نه ٿو ڪري سگهي. اِهڙي سماج ۾ باهمي ڏي وٺ تجارت جي اصول تي هوندي آهي نه وري وياج جي اصول تي. تجارت ۾ به ماڻهو نفعو وٺي ٿو، پر تجارت جو جيڪو نفعو آهي اهو ماڻهوءَ جي محنت ۽ تجارت ۾ نقصان جي خطرن کي منهن ڏيڻ جي قيمت تي هوندو آهي. جڏهن ته وياج جو نفعو رڳو خود غرضي ۽ مال جمع ڪرڻ جي حوس جو نتيجو آهي.

وياج جو ڪاروبار ڪندڙ پنهنجي دولت ٻين کي ان ڪري ڏيندو آهي، ته جيئن هو ان جي ذريعي پنهنجي دولت کي مزيد وڌائي. هو اِهو ڏسي خوش ٿيندو آهي ته ان جو سرمايو يقيني شرح سان وڌي رهيو آهي، پر ان عمل دوران هو پاڻ پنهنجي اندر ۾ جيڪو انسان تيار ڪري ٿو، اُهو هڪ خود غرض ۽ دنيا پرست انسان آهي. ان جي ابتڙ جيڪو ماڻهو پنهنجي ڪمائي مان صدقو ڪري ٿو، جيڪو ٻين جي ضرورت کي پنهنجي تجارت لاءِ سودو نه ٿو بڻائي، بلڪ ان سان گڏ پاڻ کي شريڪ ڪري ٿو، اِهڙو شخص پنهنجي عمل جي دوران پنهنجي اندر جيڪو انسان تيار ڪري رهيو آهي اهو پهرين انسان کان بلڪل مختلف انسان آهي. اِهو اُهو انسان آهي جنهن جي دل ۾ ٻين جي لاءِ خير خواهي آهي. جيڪو ذاتي فائدي کان مٿي ٿي سوچيندو آهي.

دنيا ۾ ماڻهو ان لاءِ نہ موڪليو ويو آهي جو هو هِتي پنهنجي ڪمائي جا ڍِڳ لڳائي. ماڻهوءَ جي لاءِ ڍِڳ لڳائڻ جي جاءِ آخرت آهي. دنيا ۾ ماڻهوءَ کي ان لاءِ موڪليو ويو آهي تہ اِهو ڏٺو وڃي تہ ان مان ڪير آهي جيڪو پنهنجن خاصيتن جي لحاظ کان اُن قابل آهي جو ان کي آخرت جي جنتي دنيا ۾ وسايو وڃي. جيڪي ماڻهو ان صلاحيت جو ثبوت ڏيندا، انهن کي خدا جنت جو رهواسي بڻجڻ جي لاءِ چونڊي وٺندو ۽ باقي سڀ ماڻهو ڪچري وانگر جهنم ۾ اڇلايا ويندا. صدقي جو روح حاجتمند کي پنهنجو مال خدا جي لاءِ ڏيڻ آهي ۽ وياج جو روح استحصال جي لاءِ ڏيڻ آهي. صدقو ان ڳالهہ جي علامت آهي تہ ماڻهو آخرت ۾ پنهنجي لاءِ نعمتن جو ڍِڳ ڏسڻ چاهي ٿو، اُن جي مقابلي ۾ وياج ان ڳالهہ جي علامت آهي تہ هو هن دنيا ۾ پنهنجي لاءِ ڍِڳ لڳائڻ جو خواهشمند آهي. اِهي بہ الڳ الڳ انسان آهن ۽ اِهو ممڪن نہ آهي تہ خدا وٽ ٻنهي جو انجام هڪ جهڙو ٿئي. دنيا ان کي ئي ملندي آهي جنهن دنيا لاءِ محنت ڪئي هجي، اهڙيءَ طرح آخرت اُن کي ملندي آهي جنهن آخرت جي لاءِ پنهنجي سرمائي کي قربان ڪيو هجي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ ذَرُوْا مَا بَقِيَ مِنَ الرِّبٰۤوا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ۝٢٧٨ فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا فَاْذَنُوْا بِحَرْبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ ۚ وَ اِنْ تُبْتُمْ فَلَكُمْ رُءُوْسُ اَمْوَالِكُمْ ۚ لَا تَظْلِمُوْنَ وَلَا تُظْلَمُوْنَ۝٢٧٩ وَ اِنْ كَانَ ذُوْ عُسْرَةٍ فَنَظِرَةٌ اِلٰى مَيْسَرَةٍ ؕ وَ اَنْ تَصَدَّقُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ۝٢٨٠ وَاتَّقُوْا يَوْمًا تُرْجَعُوْنَ فِيْهِ اِلَى اللّٰهِ ۗ ثُمَّ تُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَ هُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ۝٢٨١ ع ٣٨

اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ جيڪو وياج باقي رهجي ويو آهي ان کي ڇڏي ڏيو، جيڪڏهن توهان مؤمن آهيو. جيڪڏهن توهان ائين نہ ڪندو تہ الله ۽ ان جي رسول جي طرفان جنگ جو اعلان آهي ۽ جيڪڏهن توهان توبهہ ڪري وٺو تہ اصل رقم جا توهان حقدار آهيو، نہ توهان ڪنهن تي ظلم ڪريو ۽ نہ توهان تي ظلم ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن هڪ شخص تنگدست آهي تہ ان کي آسودگي تائين مهلت ڏيو ۽ جيڪڏهن معاف ڪري ڇڏيو تہ اهو توهان جي لاءِ وڌيڪ بهتر آهي، جيڪڏهن توهان سمجهو. ۽ ان ڏينهن کان ڊڄو جنهن ڏينهن توهان الله ڏانهن موٽايا ويندؤ. پوءِ هر شخص کي ان جي ڪمائي جو پورو بدلو ڏنو ويندو ۽ اُنهن تي ظلم نہ ٿيندو. ٢٧٨-٢٨١

---

معاشري جي اصلاح جو بنيادي اصول اِهو آهي تہ معاشري جو ڪوبہ فرد نہ ڪنهن ٻئي جي مٿان زيادتي ڪري ۽ نہ ٻيو ڪو ان سان زيادتي ڪري ۽ نہ وري ڪوئي ڪنهن جي مٿان ظالم بڻجي ۽ نہ وري ڪو ڪنهن کي مظلوم بڻائي. وياج خوري هڪ پڌرو معاشي ظلم آهي، ان ڪري اسلام ان کي حرام ڪيو آهي. ايستائين جو اسلامي حڪومت وياجي ڪاروبار کي فوجداري جرم قرار ڏنو آهي. جيئن هڪ وياج خور کي جهڙي طرح ٻئي سان ظالماڻو ڪاروبار ڪرڻ جي اجازت نہ آهي، اهڙيءَ طرح ڪنهن ٻئي کي بہ اهو حق نہ آهي تہ هو وياج خور کي پنهنجي ظلم جو نشانو بڻائي. ڪنهن جو مجرم هجڻ هُن کي ان جي ٻين حقن کان محروم نہ ٿو ڪري. وياج خور جي خلاف جڏهن ڪارروائي ڪئي ويندي تہ صرف ان جي وياج جي منافعي کي ختم ڪيو ويندو. پنهنجي اصل رقم واپس وٺڻ جو پوءِ بہ هو حقدار

هوندو. جهڙي طرح عام قانون سان گڏ اسلام انساني ڪمزورين جي بہ آخري حد تائين رعايت ڪري ٿو. اُن ڪري حڪم ڏنو ويو تہ ڪو قرضدار جيڪڏهن ان وقت تنگدست هجي تہ هن کي ان وقت تائين مهلت ڏني وڃي، جيستائين هو پنهنجي ذمي ڪيل رقم ادا ڪرڻ جي قابل ٿي وڃي. انهيءَ سان گڏ اِها نصيحت بہ ڪئي وئي تہ ڪو شخص قرض جي رقم ادا ڪرڻ جي قابل نہ رهي تہ ان جي ذمي رقم کي معاف ڪري ڇڏڻ جو حوصلو پيدا ڪريو. معاف ڪرڻ وارو الله وٽ اجر جو مستحق بڻجي ٿو ۽ دنيا ۾ ان جو اهو فائدو آهي تہ سماج ۾ باهمي رعايت ۽ همدردي جي فضا پيدا ٿيندي آهي، جيڪا سيني لاءِ فائديمند آهي.

جيئن تہ صرف قانون جو نفاذ سماج جي اصلاح ۽ فلاح جو ضامن نہ آهي. حقيقي اصلاح جي لاءِ ضروري آهي تہ سماج ۾ تقويٰ جي فضا موجود هجي. ان ڪري قانوني حڪم ٻڌائيندي ايمان، تقويٰ ۽ آخرت جي اهتمام جو ذڪر گڏ ڪيو ويو آهي. جهڙي طرح هڪ سيڪيولر نظام ان وقت ئي ڪاميابي سان هلي ٿو، جڏهن شهرين جي اندر ان جي مطابق قومي ڪردار موجود هجي. اهڙيءَ طرح اسلامي نظام بہ ان وقت ئي صحيح طور تي وجود ۾ ايندو آهي، جڏهن ماڻهن جي مناسب تعداد ۾ تقويٰ جو روح موجود هجي. قومي ڪردار يا تقويٰ اصل ۾ گهربل نظام جي حق ۾ ماڻهن جي رضامندي جو نالو آهي ۽ جيستائين ماڻهن جي اندر هڪ مناسب درجي جي رضامندي نہ هوندي تہ رڳو قانون جي زور تي اُن کي نافذ نہ ٿو ڪري سگهجي.

وڏيڪ اِهو تہ اسلام جي لحاظ کان معاشري جي اصلاح خود هڪ گهربل شيءِ نہ آهي. اسلام ۾ اصل گهربل شيءِ فرد جي اصلاح آهي. سماج جي اصلاح صرف ان جو هڪ ثانوي نتيجو آهي. قرآن جنهن ايمان، تقويٰ ۽ آخرت جي فڪر ڏانهن سڏي ٿو، ان جو وجود ماڻهو يا فرد جي اندر هوندو آهي نہ وري اجتماعي شڪل جي اندر. ان ڪري قرآني دعوت جو اصل مخاطب فرد آهي ۽ سماج جي اصلاح ماڻهن يا افراد جي اصلاح جو اجتماعي ظهور آهي.

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا تَدَايَنْتُمْ بِدَيْنٍ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى فَاكْتُبُوْهُ ؕ وَ لْيَكْتُبْ بَّيْنَكُمْ كَاتِبٌۢ بِالْعَدْلِ ۪ وَ لَا يَاْبَ كَاتِبٌ اَنْ يَّكْتُبَ كَمَا عَلَّمَهُ اللّٰهُ فَلْيَكْتُبْ ۚ وَ لْيُمْلِلِ الَّذِيْ عَلَيْهِ الْحَقُّ وَ لْيَتَّقِ اللّٰهَ رَبَّهٗ وَ لَا يَبْخَسْ مِنْهُ شَيْـًٔا ؕ فَاِنْ كَانَ الَّذِيْ عَلَيْهِ الْحَقُّ سَفِيْهًا اَوْ ضَعِيْفًا اَوْ لَا يَسْتَطِيْعُ اَنْ يُّمِلَّ هُوَ فَلْيُمْلِلْ وَلِيُّهٗ بِالْعَدْلِ ؕ وَ اسْتَشْهِدُوْا شَهِيْدَيْنِ مِنْ رِّجَالِكُمْ ۚ فَاِنْ لَّمْ يَكُوْنَا رَجُلَيْنِ فَرَجُلٌ وَّ امْرَاَتٰنِ مِمَّنْ تَرْضَوْنَ مِنَ الشُّهَدَآءِ اَنْ تَضِلَّ اِحْدٰىهُمَا فَتُذَكِّرَ اِحْدٰىهُمَا الْاُخْرٰى ؕ وَ لَا يَاْبَ الشُّهَدَآءُ اِذَا مَا دُعُوْا ؕ وَ لَا تَسْـَٔمُوْٓا اَنْ تَكْتُبُوْهُ صَغِيْرًا اَوْ كَبِيْرًا اِلٰٓى اَجَلِهٖ ؕ ذٰلِكُمْ اَقْسَطُ عِنْدَ اللّٰهِ وَ اَقْوَمُ لِلشَّهَادَةِ وَ اَدْنٰٓى اَلَّا تَرْتَابُوْٓا اِلَّآ اَنْ تَكُوْنَ تِجَارَةً حَاضِرَةً تُدِيْرُوْنَهَا بَيْنَكُمْ

فَلَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَلَّا تَكْتُبُوْهَا ؕ وَ اَشْهِدُوْٓا اِذَا تَبَايَعْتُمْ ۪ وَ لَا يُضَآرَّ كَاتِبٌ وَّ لَا
شَهِيْدٌ ؕ۬ وَ اِنْ تَفْعَلُوْا فَاِنَّهٗ فُسُوْقٌۢ بِكُمْ ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ وَيُعَلِّمُكُمُ اللّٰهُ ؕ وَ اللّٰهُ بِكُلِّ
شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٢٨٢﴾ وَ اِنْ كُنْتُمْ عَلٰى سَفَرٍ وَّ لَمْ تَجِدُوْا كَاتِبًا فَرِهٰنٌ مَّقْبُوْضَةٌ ؕ فَاِنْ اَمِنَ
بَعْضُكُمْ بَعْضًا فَلْيُؤَدِّ الَّذِي اؤْتُمِنَ اَمَانَتَهٗ وَلْيَتَّقِ اللّٰهَ رَبَّهٗ ؕ وَ لَا تَكْتُمُوا الشَّهَادَةَ ؕ وَ
ع ٣٩ مَنْ يَّكْتُمْهَا فَاِنَّهٗٓ اٰثِمٌ قَلْبُهٗ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ﴿٢٨٣﴾

اي ايمان وارؤ! جڏهن توهان ڪنهن مقرر مدت جي لاءِ قرض جي ڏي وٺ ڪيو تہ ان کي لکي وٺو ۽ اُن کي لکي توهان مان ڪو لکڻ وارو انصاف سان ۽ لکڻ وارو لکڻ کان انڪار نہ ڪري، جيئن الله ان کي سيکاريو آهي اهڙيءَ طرح ان کي کپي تہ هو لکي ڇڏي ۽ اُهو شخص لکرائي جنهن تي حق اچي ٿو ۽ هو ڊڄي الله کان جيڪو ان جو رب آهي ۽ ان ۾ ڪا گهٽتائي نہ ڪري ۽ جيڪڏهن اُهو شخص جنهن تي حق اچي ٿو بي سمجھ هجي يا ضعيف هجي يا پاڻ لکائڻ جي قدرت نہ رکندو هجي تہ اُن جي وليءَ کي گهرجي تہ انصاف سان لکرائي ڇڏي ۽ پنهنجن مردن مان ٻن ماڻهن کي گواهہ بڻايو ۽ جيڪڏهن ٻہ مرد نہ هجن تہ پوءِ هڪ مرد ۽ ٻہ عورتون، انهن ماڻهن مان جن کي توهان پسند ڪريو ٿا. تہ جيڪڏهن هڪ عورت کان وسري وڃي تہ ٻي عورت ان کي ياد ڏياري ۽ شاهد انڪار نہ ڪن، جڏهن هو سڏيا وڃن ۽ معاملو ننڍو هجي يا وڏو، مقرر وقت سان گڏ ان کي لکڻ ۾ سستي نہ ڪريو. اِهو لکي وٺڻ الله جي ويجهو وڌيڪ انصاف وارو طريقو آهي ۽ شاهدي کي وڌيڪ درست رکڻ وارو آهي ۽ گهٽ ويجهو آهي تہ توهان شڪ ۾ نہ پئجي وڃو. پر جيڪڏهن ڪو سودو هٿو هٿ هجي جنهن جي توهان پاڻ ۾ ڏي وٺ ڪندا آهيو تہ توهان تي ڪو الزام نہ آهي جو توهان اُن کي نہ لکو. پر جڏهن اِهو سودو ڪريو تہ شاهد بڻائي وٺو ۽ ڪنهن لکڻ واري کي يا شاهد کي تڪليف نہ پهچائي وڃي ۽ جيڪڏهن ائين ڪندؤ تہ اها توهان لاءِ گناهہ جي ڳالهہ هوندي. ۽ الله کان ڊڄو ۽ الله توهان کي سيکاري ٿو ۽ الله هر شيءِ جو ڄاڻڻ وارو آهي. ۽ جيڪڏهن توهان سفر ۾ هجو ۽ ڪو لکڻ وارو نہ هجي تہ گروي رکڻ واريون شيون قبضي ۾ ڏنيون وڃن ۽ جيڪڏهن هڪٻئي جو اعتبار ڪندا هجو تہ کپي جنهن تي اعتبار ڪيو ويو آهي، اهو اعتبار کي پورو ڪري ۽ الله کان ڊڄي جيڪو ان جو رب آهي ۽ شاهديءَ کي نہ لڪايو، جيڪو شخص لڪائيندو ان جي دل گنهگار آهي ۽ جيڪو ڪجھ توهان ڪريو ٿا الله ان کي ڄاڻي ٿو. ٢٨٢-٢٨٣

---

ٻن ماڻهن جي وچ ۾ نقد معاملو هجي تہ ڏي وٺ ڪرڻ سان ئي معاملو ختم ٿي ويندو آهي. پر قرض جي معاملن جي نوعيت مختلف آهي. قرض جي معاملي ۾ جيڪڏهن سڄي ڳالهہ زباني هجي تہ ڪاغذي ثبوت نہ هجڻ جي ڪري پوءِ اختلاف پيدا ٿيڻ جو امڪان رهي ٿو. هر ڌر پنهنجي پنهنجي مطابق معاملي جي تصوير پيش ڪري ٿي ۽ ڪو اِهڙو يقيني بنياد نہ هوندو آهي، جنهن جي روشني ۾ صحيح فيصلو ڪيو وڃي. نتيجو اِهو نڪرندو آهي تہ ادائگي وقت اڪثر ٻنهي کي هڪٻئي سان شڪايت پيدا ٿي ويندي آهي. ان جو حل لکت وٺڻ آهي. نقد معاملي کي لکيو وڃي تہ اهو بہ بهتر آهي. پر قرض جي معاملن ۾ اهو ضروري آهي تہ انهن کي باقاعدي لکيو وڃي ۽ ان تي شاهد بڻايا وڃن. اختلاف جي وقت اهائي تحرير فيصلي جو بنياد هوندي. اِها مسلمانن جي لاءِ تقويٰ ۽ عدل جي هڪ حفاظتي تدبير آهي. لکيل شرطن مطابق مسلمان پنهنجا حق ادا ڪري الله ۽ خلق جي سامهون آجو ٿي ويندو آهي.

مسلمان الله جي دين جا شاهد آهن. جهڙي طرح الله جي ڳالهه کي ڇاڻندي لڪائڻ جائز نه آهي، اهڙيءَ طرح انساني معاملن ۾ ڪنهن وٽ ڪا شاهدي هجي ته هُن کي گهرجي ته هو اُن کي ظاهر ڪري ڇڏي. شاهديءَ کي لڪائڻ پنهنجي اندر مجرماڻي ذهن جي پرورش ڪرڻ آهي ۽ معاملي ۾ انصاف واري فيصلي ۾ اُهو حصو ادا نه ڪرڻ آهي جيڪو هو ڪري سگهي ٿو. انسان جو ضمير چاهي ٿو ته جڏهن هڪ شيءِ حق نظر اچي ته ان جي حق هجڻ جو اعتراف ڪيو وڃي ۽ جڏهن هڪ شيءِ ناحق ڏسڻ ۾ اچي ته ان جي ناحق هئڻ جو اعلان ڪيو وڃي. اِهڙي حالت ۾ جيڪو شخص پنهنجي وڏائي ۽ مصلحت جي ڪري پنهنجي زبان کي بند رکي ٿو ته هو ڄڻ ته اِهڙو مجرم آهي جيڪو پنهنجي جرم تي پاڻ گواهه بڻجي ويو هجي.

لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَ اِنْ تُبْدُوْا مَا فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ اَوْ تُخْفُوْهُ يُحَاسِبْكُمْ
بِهِ اللّٰهُ ؕ فَيَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٢٨٤﴾ اٰمَنَ
الرَّسُوْلُ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِ مِنْ رَّبِّهٖ وَ الْمُؤْمِنُوْنَ ؕ كُلٌّ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ مَلٰٓئِكَتِهٖ وَ كُتُبِهٖ وَ
رُسُلِهٖ ۟ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْ رُّسُلِهٖ ۟ وَ قَالُوْا سَمِعْنَا وَ اَطَعْنَا ۫ غُفْرَانَكَ رَبَّنَا وَ
اِلَيْكَ الْمَصِيْرُ ﴿٢٨٥﴾ لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ؕ لَهَا مَا كَسَبَتْ وَ عَلَيْهَا مَا
اكْتَسَبَتْ ؕ رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذْنَآ اِنْ نَّسِيْنَآ اَوْ اَخْطَاْنَا ۚ رَبَّنَا وَ لَا تَحْمِلْ عَلَيْنَآ اِصْرًا كَمَا
حَمَلْتَهٗ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِنَا ۚ رَبَّنَا وَ لَا تُحَمِّلْنَا مَا لَا طَاقَةَ لَنَا بِهٖ ۚ وَ اعْفُ عَنَّا ۫ وَ
ع ٨ اغْفِرْ لَنَا ۫ وَ ارْحَمْنَا ۫ اَنْتَ مَوْلٰىنَا فَانْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٨٦﴾

الله جو آهي جيڪو ڪجهه آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو زمين ۾ آهي. توهان پنهنجن دلين جي ڳالهين کي ظاهر ڪريو يا لڪايو، الله توهان کان حساب وٺندو. پوءِ جنهن کي چاهيندو بخش ڪندو ۽ جنهن کي چاهيندو سزا ڏيندو ۽ الله هر شيءِ تي قدرت رکڻ وارو آهي. رسول ايمان آندو آهي ان تي جيڪو سندس رب طرفان ان تي نازل ٿيو آهي ۽ مسلمانن به اُن تي ايمان آندو آهي. سڀني ايمان آندو آهي الله تي ۽ ان جي فرشتن تي ۽ ان جي ڪتابن تي ۽ ان جي رسولن تي. اسان ان جي رسولن ۾ ڪنهن جي وچ ۾ فرق نه ٿا ڪريون ۽ هو چَوَن ٿا اسان ٻڌو ۽ مڃيوسين. اسان تنهنجي بخشش گهرون ٿا اي اسان جا رب ۽ توڏانهن ئي موٽڻو آهي. الله ڪنهن تي ذميداري نه ٿو وجهي، پر ان جي طاقت جي مطابق. ان کي ملندو اُهوئي جيڪو اُن ڪمايو ۽ اُن تي پوندو اُهوئي جيڪو ان ڪيو. اي اسان جا رب! اسان کي نه پڪڙ جيڪڏهن اسين ڀُلجون يا خطا ڪريون. اي اسان جا رب! اسان تي اِهڙو بار نه رک، جهڙو تو اُنهن تي رکيو جيڪي اسان کان اڳ هئا. اي اسان جا رب! اسان کان اُهو نه کڻاءِ جنهن جي اسان کي طاقت نه آهي ۽ اسان کان درگذر ڪر ۽ اسان کي بخش ڪر ۽ اسان تي رحم ڪر. تون اسان جو ڪارساز آهين. پوءِ انڪار ڪرڻ وارن جي مقابلي ۾ اسان جي مدد ڪر. ٢٨٤-٢٨٦

---

ڪائنات جي هر شيءِ الله جي حڪم هيٺ آهي. ذري کان وٺي ستارن تائين سڀ الله جي مقرر نقشي ۾ ٻڌل آهن. هو انهيءَ رستي تي هلي رهيا آهن جنهن تي هلڻ جي لاءِ الله اُنهن کي پابند ڪيو آهي. پر انسان هڪ اِهڙي مخلوق آهي جيڪا پاڻ کي خودمختيار حالت ۾ ڏسي ٿي. بظاهر هو آزاد آهي پنهنجي

مرضي سان جيڪو رستو چاهي اختيار ڪري، پر انسان جي آزادي قطعي نہ آهي. بلڪ امتحان جي لاءِ آهي. انسان کي بہ ڪائنات جي ٻين شين وانگر خدا جي پابندي ڪرڻي آهي. جنهن پابند زندگي کي باقي ڪائنات مجبور ٿي اختيار ڪيو آهي، اُها پابند زندگي انسان کي پنهنجي ارادي سان اختيار ڪرڻي آهي. انسان کي ظاهري صورتحال کان دوکو کائي اِهو نہ سمجهڻ کپي تہ ان جي اڳيان پويان ڪير بہ نہ آهي. حقيقت اِها آهي تہ ماڻهو هر وقت مالڪِ ڪائنات جي نظر ۾ آهي، هو اُن جي هر ننڍي وڏي ڳالهہ جي نگراني ڪري رهيو آهي، چاهي اُها ان جي اندر هجي يا ان جي ٻاهر.

اُهو ڪهڙو انسان آهي جيڪو الله کي گهربل آهي. اُهو ايمان ۽ اطاعت وارو انسان آهي. ايمان مان مراد ماڻهوءَ جي شعوري سپردگي آهي ۽ اطاعت مان مراد ان جي عملي سپردگي. شعور جي لحاظ کان اُهو گهربل آهي تہ ماڻهو الله کي پنهنجي خالق ۽ مالڪ واري حيثيت ۾ اپنائي وٺي. هو ان حقيقت کي سمجهي ويو هجي تہ ڪائنات جو نظام ڪو بي روح مشيني نظام نہ آهي، بلڪ هڪ زنده نظام آهي، جنهن کي الله پنهنجي فرمانبردار فرشتن جي ذريعي هلائي رهيو آهي. ان خدا جي ٻانهن مان انهن ٻانهن کي سڃاڻي ورتو هجي جن کي خدا پنهنجي پيغام پهچائڻ جي لاءِ چونڊيو. خدا انسانن جي هدايت جي لاءِ جيڪو ڪتاب لاٿو آهي، ان کي هو حقيقي معنيٰ ۾ پنهنجي فڪر ۽ خيال جو جز بڻائي چڪو هجي.

رسالت ۽ پيغمبري ان کي سڄي انساني تاريخ ۾ هڪ لڳاتار واقعي جي صورت ۾ نظر اچڻ لڳي. ايمان کي اهڙيءَ طرح پنهنجي دل ۽ دماغ ۾ ويهارڻ کان پوءِ هو پنهنجي زندگي کي مڪمل طور تي اُن جي نقشي مطابق بدلائي ڇڏي. پوءِ اهو ايمان ۽ اطاعت ان جي لاءِ ڪو رسمي ۽ ظاهري معاملو نہ هجي، بلڪ اهو ان جي روح ۾ اهڙيءَ طرح رچي وڃي جو هو الله کي پڪارڻ لڳي. اُن جو وجود الله جي ياد ۾ پوئجي وڃي ۽ ان جي سڄي زندگي خدا تي نڇاور ٿي وڃي.

آيَاتُهَا ٢٠٠ — (٣) سُوْرَةُ اٰلِ عِمْرَانَ مَكِّيَّةٌ (٥) — رُكُوْعُهَا ٢٠

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الٓمّٓ ﴿١﴾ اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۙ الْحَيُّ الْقَيُّوْمُ ﴿٢﴾ نَزَّلَ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ
يَدَيْهِ وَ اَنْزَلَ التَّوْرٰىةَ وَ الْاِنْجِيْلَ ﴿٣﴾ مِنْ قَبْلُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَ اَنْزَلَ الْفُرْقَانَ ؕ اِنَّ
الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ؕ وَ اللّٰهُ عَزِيْزٌ ذُو انْتِقَامٍ ﴿٤﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَا
يَخْفٰى عَلَيْهِ شَيْءٌ فِي الْاَرْضِ وَ لَا فِي السَّمَآءِ ﴿٥﴾ هُوَ الَّذِيْ يُصَوِّرُكُمْ فِي الْاَرْحَامِ كَيْفَ
يَشَآءُ ؕ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٦﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

الف- لام- م- الله کان سواءِ ڪو بہ معبود نہ آهي، زنده ۽ سڀني کي قائم رکندڙ. ان تو تي ڪتاب نازل ڪيو حق سان، سچو ڪندڙ اُن شيءِ کي جيڪا ان کان اڳ آهي ۽ هن توريت ۽ انجيل نازل ڪيو ان کان اڳ ماڻهن جي

هدايت جي لاءِ ۽ الله فرقان نازل ڪيو. بيشڪ جن ماڻهن الله جي نشانين جو انڪار ڪيو، انهن جي لاءِ سخت عذاب آهي ۽ الله زبردست آهي، بدلو وٺڻ وارو آهي. بيشڪ الله کان ڪا به شيءِ لڪيل نه آهي نه زمين ۾ ۽ نه آسمان ۾. اُهوئي توهان جي صورت ٺاهي ٿو ماءُ جي پيٽ ۾ جيئن چاهي ٿو. اُن کانسواءِ ڪو به معبود نه آهي. هو زبردست آهي، حڪمت وارو آهي. ١-٦

---

ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ ڪو مشيني خدا نه آهي، بلڪ هڪ زنده ۽ باشعور خدا آهي. اُن هر زماني ۾ انسان جي لاءِ رهنمائي موڪلي. انهن مان اُهي ڪتاب هئا جيڪي توريت ۽ انجيل جي صورت ۾ اڳين نبين تي نازل ٿيا. پر انسان هميشه ائين ڪندو رهيو آهي ته هن پنهنجن بي بنياد دليلن ۽ سمجهاڻين ذريعي الله جي تعليم کي طرح طرح جون معنائون ڏئي الله جي هڪ دين مان ڪيترائي دين ٺاهي ڇڏيا. آخر الله پنهنجي طي شده منصوبي مطابق آخري ڪتاب (قرآن) نازل ڪيو. جيڪو انسانن جي لاءِ صحيح هدايت نامو به آهي ۽ انهي سان گڏ اُها پرک ۽ ڪسوٽي به آهي جنهن سان حق ۽ باطل جي وچ ۾ فيصلو ڪري سگهجي. قرآن ٻڌائي ٿو ته الله جو سچو دين ڇا آهي ۽ اُهو دين ڪهڙو آهي جيڪو ماڻهن پنهنجن هٿ ٺوڪيل تشريحن جي ذريعي ٺاهيو آهي. هاڻي جيڪي ماڻهو الله جي ڪتاب کي نه مڃين يا پنهنجن راين ۽ تعبيرن سان ٺاهيل دين کي نه ڇڏين ته اهي سخت سزا جا مستحق آهن. هي اهي ماڻهو آهن جن کي الله اکيون ڏنيون پر روشني اچڻ جي باوجود انهن نه ڏٺو. جن کي الله عقل ڏنو پر دليل اچڻ کان پوءِ به انهن نه سمجهيو. پنهنجي ڪوڙي وڏائي جي ڪري حق جي اڳيان جهڪڻ لاءِ تيار نه ٿيا.

الله پنهنجي ذات ۽ صفات جي لحاظ کان ڪهڙو آهي، سندس حقيقي تعارف هو پاڻ ئي ڪرائي سگهي ٿو. اُن جي هستيءَ جو ٻي مخلوقات سان ڪهڙو تعلق آهي، ان کي به هو پاڻ ئي صحيح طور ٻڌائي سگهي ٿو. الله پنهنجي ڪتاب ۾ ان کي ايتري ته واضح صورت ۾ ٻڌائي ڇڏيو آهي ته جيڪو شخص ڄاڻڻ چاهي اهو ضرور ڄاڻي وٺندو. اِهوئي معاملو انسان جي لاءِ هدايت نامو مقرر ڪرڻ جو آهي. انسان جي حقيقت ڇا آهي ۽ اهو ڪهڙو رويو آهي، جيڪو انسان جي ڪاميابي جو ضامن آهي، ان کي ٻڌائڻ جي لاءِ پوري ڪائنات جو علم گهربل آهي. انسان جي لاءِ صحيح رويو اُهوئي ٿي سگهي ٿو جيڪو ڪائنات سان يڪسانيت رکي ۽ دنيا جي وسيع نظام سان پوري طرح مطابقت رکندڙ هجي. انسان جي لاءِ صحيح راهِ عمل اُهوئي مقرر ڪري سگهي ٿو جيڪو نه صرف انسان کي پيدائش کان وٺي موت تائين ڄاڻندو هجي، بلڪ ان کي اِهو به معلوم هجي ته پيدائش کان پهرين ڇا آهي ۽ موت کان پوءِ ڇا آهي. اِهڙي هستي الله کان سواءِ ٻي نٿي ٿي سگهي. انسان جي لاءِ حقيقت پسندي اِها آهي ته اُن معاملي ۾ هو الله تي ڀروسو ڪري ۽ اُن طرفان آيل هدايت کي پوري يقين سان مڃي وٺي.

هُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ مِنْهُ اٰيٰتٌ مُّحْكَمٰتٌ هُنَّ اُمُّ الْكِتٰبِ وَاُخَرُ مُتَشٰبِهٰتٌ ۭ
فَاَمَّا الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ زَيْغٌ فَيَتَّبِعُوْنَ مَا تَشَابَهَ مِنْهُ ابْتِغَاۗءَ الْفِتْنَةِ وَ ابْتِغَاۗءَ
وقف النبي صلى الله عليه وآله وسلم تَاْوِيْلِهٖ ڄ وَمَا يَعْلَمُ تَاْوِيْلَهٗٓ اِلَّا اللّٰهُ ڤ وَ الرّٰسِخُوْنَ فِي الْعِلْمِ يَقُوْلُوْنَ اٰمَنَّا بِهٖ ۙ كُلٌّ مِّنْ وقف لازم وقف منزل
عِنْدِ رَبِّنَا ۚ وَ مَا يَذَّكَّرُ اِلَّآ اُولُوا الْاَلْبَابِ ۝ رَبَّنَا لَا تُزِغْ قُلُوْبَنَا بَعْدَ اِذْ هَدَيْتَنَا وَ هَبْ

لَنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ ۝ رَبَّنَآ اِنَّكَ جَامِعُ النَّاسِ لِيَوْمٍ لَّا رَيْبَ
فِيْهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُخْلِفُ الْمِيْعَادَ ۝

اُهوئي آهي جنهن توتي ڪتاب نازل ڪيو. ان ۾ ڪجهه آيتون محڪم آهن. اهي ڪتاب جو اصل آهن. ۽ ٻيون آيتون متشابهه آهن. پوءِ جن جي دلين ۾ ڪوٽ آهي، اهي متشابه آيتن جي پويان پئجي ويندا آهن فتني جي ڳولا ۾ ۽ ان جي مطلب جي ڳولا ۾. حالانڪ انهن جو مطلب الله کان سواءِ ٻيو ڪير به نه ٿو ڄاڻي ۽ جيڪي ماڻهو علم ۾ پختا آهن، اُهي چون ٿا اسان انهن تي ايمان آندو. سڀ اسان جي رب جي طرفان آهي ۽ نصيحت اُهي ئي ماڻهو قبول ڪن ٿا جيڪي عقل وارا آهن. اي اسان جا رب! اسان جي دلين کي نه ڦير جڏهن ته تو اسان کي هدايت ڏني ڇڏي ۽ اسان کي پاڻ وٽان رحمت ڏي. بيشڪ تون ئي سڀ ڪجهه ڏيڻ وارو آهين. اي اسان جا رب! تون جمع ڪرڻ وارو آهين ماڻهن کي هڪ ڏينهن جنهن ۾ ڪوبه شڪ نه آهي. بيشڪ الله وعدي جي خلاف نه ٿو ڪري. ٧-٩

---

قرآن ۾ ٻن قسمن جا مضمون آهن. هڪ اُهي جيڪي انسان جي معلوم دنيا بابت آهن. مثلاً تاريخي واقعا، ڪائنات جون نشانيون، دنياوي زندگيءَ جا حڪم وغيره. ٻيا اُهي آهن جن جو تعلق غيبي معاملن سان آهي، جيڪي اڄ جي انسان لاءِ ناقابل فهم آهن. مثلاً الله جون صفتون، جنت ۽ دوزخ جا احوال وغيره. پهرين قسم جي ڳالهين کي قرآن ۾ محڪم انداز ۾ ۽ آسان ڍنگ ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ٻي قسم جون ڳالهيون انسان جي نامعلوم دنيا بابت آهن، اُهي انساني زبان جي گرفت ۾ نه ٿيون اچن. اُن ڪري انهن کي متشابهه انداز يعني تشبيهه ۽ مثال واري ڍنگ ۾ بيان ڪيو ويو آهي. مثلاً انسان جو هٿ چيو وڃي ته اِهو سڌو سنئون مروج زبان جو مثال آهي ۽ الله جو هٿ اهو تشبيهه واري زبان جو مثال آهي. جيڪي ماڻهو هن فرق کي نه ٿا سمجهن اُهي متشابه آيتن جو مفهوم به اهڙيءَ طرح مقرر ڪرڻ لڳندا آهن،جهڙي طرح محڪم آيتن جو مفهوم مقرر ڪيو ويندو آهي. اِها پنهنجي فطري دائري کان ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش آهي. هِن قسم جي ڪوشش جو انجام اُن کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي ته ماڻهو هميشه ڀٽڪندو رهي ۽ ڪڏهن به منزل تي نه پهچي. ڄاڪاڻ ته ”انسان جي هٿ“ کي متعين طور تي سمجهي سگهجي ٿو. پر ”خدا جي هٿ“ کي موجوده عقل سان متعين طور تي سمجهڻ نا ممڪن آهي.

متشابهات جي سلسلي ۾ صحيح علمي ۽ عقلي موقف اِهو آهي ته ماڻهو پنهنجي محدود حد جو اعتراف ڪري. جن ڳالهين کي هو مقرر ٿيل صورت ۾ پنهنجي حواس جي گرفت ۾ نه ٿو آڻي سگهي، انهن جي محدود تصور تي قناعت ڪري. جڏهن حواس جي محدود هجڻ جي ڪري انسان جي لاءِ ان حقيقتن جو مڪمل احاطو ڪرڻ ممڪن نه آهي ته حقيقت پسندي اِها آهي ته ان معاملي ۾ تصور کي مقرر ڪرڻ جو بحث نه ڇيڙيو وڃي. اُن جي بدران الله کان دعا گهرڻ کپي ته هو ماڻهوءَ کي اهڙي قسم جي بي نتيجي بحثن ۾ الجهڻ کان بچائي. هو ماڻهوءَ کي اِهڙو عقل سليم ڏي جو هو پنهنجي مقام کي سڃاڻي ۽ حقيقتن جي محدود يقين تي راضي ٿي وڃي. هڪ ڏينهن اِهڙو اچڻ وارو آهي جڏهن اُهي حقيقتون پنهنجي مڪمل صورت ۾ کُلي سامهون اچي وينديون. پر ماڻهو جيستائين امتحان جي دنيا ۾ آهي ائين ٿيڻ ممڪن نه آهي.

جهڙيءَ طرح رستي جي ترڪڻ ٿيندي آهي، اهڙيءَ طرح عقل جي سفر جي به ترڪڻ هوندي آهي ۽ عقل جو ترڪڻ اِهو آهي ته ڪنهن معاملي کي ماڻهو ان جي صحيح رخ کان نه ڏسي سگهي. ڪنهن شيءِ جي حقيقت ماڻهو ان ئي وقت سمجهي سگهي ٿو جڏهن هو ان کي اِهڙي رخ سان ڏسي سگهي جنهن رخ سان ان کي ڏسڻ گهرجي. جيڪڏهن هو ڪنهن ٻئي رخ سان ڏسڻ لڳي ته اِهو عين ممڪن آهي ته هو صحيح راءِ قائم نه ڪري سگهي ۽ غلط فهمين ۾ پئجي وڃي. سڀ کان وڏي دانائي اِها آهي ته ماڻهو ان راز کي ڄاڻي وٺي ته ڪنهن شيءِ کي ڏسڻ جو سيني کان صحيح رخ ڪهڙو آهي.

اِنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لَنۡ تُغۡنِىَ عَنۡهُمۡ اَمۡوَالُهُمۡ وَ لَاۤ اَوۡلَادُهُمۡ مِّنَ اللّٰهِ شَيۡـًٔا ؕ وَ اُولٰۤـئِكَ هُمۡ وَقُوۡدُ النَّارِ ۝١٠ كَدَاۡبِ اٰلِ فِرۡعَوۡنَ ۙ وَ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ ؕ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوۡبِهِمۡ ؕ وَ اللّٰهُ شَدِيۡدُ الۡعِقَابِ ۝١١ قُلۡ لِّلَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا سَتُغۡلَبُوۡنَ وَ تُحۡشَرُوۡنَ اِلٰى جَهَنَّمَ ؕ وَ بِئۡسَ الۡمِهَادُ ۝١٢ قَدۡ كَانَ لَـكُمۡ اٰيَةٌ فِىۡ فِئَتَيۡنِ الۡتَقَتَا ؕ فِئَةٌ تُقَاتِلُ فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ وَ اُخۡرٰى كَافِرَةٌ يَّرَوۡنَهُمۡ مِّثۡلَيۡهِمۡ رَاۡىَ الۡعَيۡنِ ؕ وَ اللّٰهُ يُؤَيِّدُ بِنَصۡرِهٖ مَنۡ يَّشَآءُ ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَعِبۡرَةً لِّاُولِى الۡاَبۡصَارِ ۝١٣

بيشڪ جن ماڻهن انڪار ڪيو، انهن جا مال ۽ انهن جو اولاد الله جي مقابلي ۾ انهن جي ڪجهه ڪم نه ايندو ۽ اِهي ئي ماڻهو باهه جو ٻارڻ هوندا. انهن جو انجام اهڙو ئي ٿيندو جهڙو فرعون وارن جو ۽ ان کان اڳ وارن جو ٿيو. اُنهن اسان جي نشانين کي ڪوڙو سمجهيو، پوءِ الله انهن جي گناهن جي ڪري انهن کي پڪڙي ورتو ۽ الله سخت سزا ڏيڻ وارو آهي. انڪار ڪرڻ وارن کي چئي ڇڏيو ته هاڻي توهان مغلوب ڪيا ويندو ۽ جهنم ڏانهن جمع ڪري موڪليا ويندؤ ۽ جهنم وڏي بڇڙي جاءِ آهي. بيشڪ توهان جي لاءِ نشاني آهي انهن ٻن جماعتن ۾ جيڪي (بدر ۾) هڪ ٻئي جي سامهون ٿيون. هڪ جماعت الله جي راهه ۾ وڙهي رهي هئي ۽ ٻي منڪر هئي. اِهي منڪر ڪليل اکين سان اُنهن کي ٻيڻو ڏسي رهيا هئا ۽ الله جنهن کي چاهي ٿو پنهنجي مدد جو زور ڏئي ڇڏيندو آهي. اُن ۾ اکين وارن جي لاءِ وڏو سبق آهي. ١٠-١٣

---

حق جي دعوت جڏهن به بلند ٿيندي آهي ته ان جو آواز ماڻهن کي غير اهم لڳندو آهي. هڪ پاسي وقت جو ماحول هوندو آهي، جنهن جي قبضي ۾ هر قسم جا مادي وسيلا هوندا آهن، ٻئي پاسي حق جو قافلو هوندو آهي جنهن کي اڃا ماحول ۾ قيام ۽ پختگي حاصل نه هوندي آهي، ان سان گڏ مادي مفاد جڙيل نه هوندا آهن. اهڙين حالتن ۾ حق ڏانهن وڌڻ ماحول کان ڪٽجڻ ۽ مفادن کان محروم ٿيڻ جي هم معنيٰ بڻجي ويندو آهي. نتيجو اِهو نڪرندو آهي ته ماڻهو پنهنجي مفادن کي بچائڻ لاءِ حق کي نه ٿو مڃي. پنهنجن ساٿين ۽ رشتيدارن کي ڇڏي هڪ اڪيلي داعي جي صف ۾ اچڻ جي لاءِ تيار نه ٿو ٿئي. پر اِهي شيون جيڪي انسان کي اڄ اهم نظر اچن ٿيون، اُهي فيصلي واري ڏينهن ڪنهن جي ڪجهه به ڪم اچڻ واريون نه آهن. انهن شين جي جيڪا به اهميت آهي صرف ان وقت تائين آهي جيستائين معاملو انسان ۽ انسان جي وچ ۾ آهي. جڏهن قيامت جو پردو کڄندو ۽ معاملو انسان ۽ الله جي وچ ۾ ٿي ويندو ته اِهي شيون اينديون بي قيمت ٿي وينديون ڄڻ ته انهن جو ڪو وجود ئي نه هو. داعي هِن دنيا ۾ ظاهري

طرح بي زور ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر حقيقت ۾ اُهوئي زور وارو آهي. ڇاڪاڻ ته اُن جي پٺيان خدا آهي. منڪر ظاهر ۾ هِن دنيا ۾ طاقتور ڏسڻ ۾ ايندو آهي. پر هو بلڪل بي طاقت آهي، ڇاڪاڻ ته هُن جي طاقت هڪ عارضي فريب کان سواءِ ڪجهه به نه آهي.

نبوت جي چوڏهين سال بدر جي جنگ آخرت ۾ ٿيڻ واري واقعي جو هڪ دنياوي مثال هو. حق جو انڪار ڪرڻ وارا تعداد ۽ طاقت ۾ تمام وڌيڪ هئا ۽ حق کي مڃڻ وارا تعداد ۽ طاقت ۾ تمام گهٽ هئا. ان جي باوجود منڪرن کي غير معمولي شڪست ٿي ۽ حق جي پوئلڳن کي فيصلائتي فتح حاصل ٿي. اِهو هڪ واضح ثبوت آهي ته الله هميشه حق جي پيروي ڪرڻ وارن سان هوندو آهي. ايتري غير معمولي فرق جي باوجود ايتري غيرمعمولي فتح الله جي مدد کان سواءِ نٿي ٿي سگهي. اِهو الله جي طرفان ان ڳالهه جو هڪ اظهار آهي ته حق هِن دنيا ۾ اڪيلو نه آهي. ان سان گڏ منڪرن جي لاءِ اِهو هڪ ظاهري دليل به آهي جنهن ۾ هو ڏسي سگهن ٿا ته خدا جي هِن دنيا ۾ هو ڪيترا بي ٽڪاڻا آهن. حق جي داعي جي ڪلام ۾ ۽ اُن جي زندگي ۾ ڪليل نشانيون هونديون آهن ته هِي خدا جي طرفان آهي. پر جيڪي سرڪش ماڻهو آهن اُهي ان کي رد ڪرڻ جي لاءِ لفظن ۾ پناهه وٺندا آهن. هو ڪوڙن دليلن ۾ جيئندا رهندا آهن. ايستائين جو هو آخرت جي دنيا ۾ پهچي ويندا آهن، رڳو اِهو ڄاڻڻ جي لاءِ ته انهن جن لفظن جو سهارو وٺي رکيو هو، اُهي حقيقت ۾ ڪيتري قدر بي معنيٰ هئا.

زُيِّنَ لِلنَّاسِ حُبُّ الشَّهَوٰتِ مِنَ النِّسَآءِ وَ الْبَنِيْنَ وَ الْقَنَاطِيْرِ الْمُقَنْطَرَةِ مِنَ الذَّهَبِ
وَالْفِضَّةِ وَ الْخَيْلِ الْمُسَوَّمَةِ وَ الْاَنْعَامِ وَ الْحَرْثِ ؕ ذٰلِكَ مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَ اللّٰهُ
عِنْدَهٗ حُسْنُ الْمَاٰبِ ﴿١٤﴾ قُلْ اَؤُنَبِّئُكُمْ بِخَيْرٍ مِّنْ ذٰلِكُمْ ؕ لِلَّذِيْنَ اتَّقَوْا عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتٌ
تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا وَ اَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ وَّ رِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ
بَصِيْرٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿١٥﴾ اَلَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اِنَّنَآ اٰمَنَّا فَاغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا وَ قِنَا عَذَابَ النَّارِ ۚ ﴿١٦﴾
اَلصّٰبِرِيْنَ وَ الصّٰدِقِيْنَ وَ الْقٰنِتِيْنَ وَ الْمُنْفِقِيْنَ وَ الْمُسْتَغْفِرِيْنَ بِالْاَسْحَارِ ﴿١٧﴾

ماڻهن جي لاءِ موهيندڙ ڪئي وئي آهي خواهشن جي محبت، عورتون، پٽ، سون، چاندي جا ڍڳ، نشان لڳل گهوڙا، جانور ۽ کيتي. اهي دنياوي زندگيءَ جا سامان آهن ۽ الله وٽ بهتر ٺڪاڻو آهي. چئو، ڇا آئون توهان کي ٻڌايان ان کان بهتر شيءِ. انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي ڊڄن ٿا، انهن لاءِ سندن رب وٽ باغ آهن جن جي هيٺان نهرون جاري هونديون. هو اُن ۾ هميشه رهندا ۽ پاڪ زالون هونديون ۽ الله جي رضامندي هوندي ۽ الله جي نگاهه ۾ آهن ان جا ٻانها. جيڪي چوندا آهن اي اسان جا رب! اسان ايمان آندوسين، پوءِ تون اسان جي گناهن کي معاف ڪري ڇڏ ۽ اسان کي باهه جي عذاب کان بچاءِ. اُهي صبر ڪرڻ وارا آهن ۽ سچا آهن، فرمانبردار آهن ۽ خرچ ڪرڻ وارا آهن ۽ پوئين رات ۾ معافي گهرڻ وارا آهن. ١٤-١٧

---

دنيا امتحان جي جڳهه آهي. ان ڪري هتي جي شين ۾ ماڻهوءَ جي لاءِ ظاهري ڪشش رکي وئي آهي. هاڻي الله اهو ڏسڻ ٿو چاهي ته ڪير آهي جيڪو ظاهري ڪشش کان متاثر ٿي دنيا جي شين ۾ گم

ٿي وڃي ٿو ۽ ڪير آهي جيڪو ان ڪان مٿي ٿي آخرت جي اڻ ڏٺل شين ڪي پنهنجي توجهه جو مرڪز بڻائي ٿو. ماڻهوءَ ڪي دنيا جي شين ۾ تسڪين ملندي آهي. هو ڏسي ٿو ته سماج ۾ انهن شين جي ذريعي وقار قائم ٿئي ٿو. اِهي شيون هجن ته هن جا سڀ ڪم ٺهندا ويندا آهن. هو سمجهڻ لڳي ٿو ته اِهي ئي شيون اصل اهميت واريون شيون آهن. هن جون دلچسپيون ۽ (سرگرميون) سميٽجي ٻار ٻچن ۽ مال ۽ جائداد ۾ لڳي ونديون آهن. اِها ئي شيءِ آخرت جي تقاضائن ڏانهن وڌڻ ۾ سڀ ڪان وڏي رڪاوٽ آهي. دنيا جي شين جي اهميت جو احساس ماڻهوءَ ڪي آخرت جي شين ڪان غافل ڪري ڇڏي ٿو. دنيا ۾ پنهنجن ٻچن جي مستقبل جي تعمير ۾ هُو ايترو ته مشغول هوندو آهي، جو هن ڪي اهو به ياد نه رهندو آهي ته دنيا ڪان مٿانهون به ڪو ”مستقبل“ آهي، جنهن جي تعمير جي هُن ڪي فڪر ڪرڻ گهرجي. دنيا ۾ پنهنجي گهر ڪي آباد ڪرڻ هِن جي لاءِ ايترو ته محبوب بڻجي ويندو آهي جو هن ڪي ڪڏهن به خيال نه ايندو آهي ته ان ڪان سواءِ به ڪو ”گهر“ آهي، جنهن ڪي آباد ڪرڻ ۾ هن ڪي لڳڻ گهرجي. دنيا ۾ دولت گڏ ڪرڻ ۽ جائداد ٺاهڻ اُن ڪي ايترو ته وڌيڪ قيمتي معلوم ٿيندو آهي جو هو سوچي نه ٿو سگهي ته ان ڪان سواءِ به ڪا ”دولت“ آهي، جنهن ڪي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هو پنهنجي پاڻ ڪي وقف ڪري. پر اهڙي قسم جون سڀ شيون صرف موجوده عارضي زندگيءَ جي رونق آهن. اڳين اَڻ ڪٽ زندگي ۾ اِهي ڪنهن جي ڪجهه به ڪم اچڻ واريون نه آهن.

جيڪو شخص آخرت جي مستقل زندگيءَ ڪي پنهنجي توجهه جو مرڪز بڻائي، اُن جي زندگي کهڙي زندگي هوندي. دنيا جون رونقون ان جي نظر ۾ حقير بڻجي ونديون. هو اُن يقين سان پرجي ويندو ته آخرت جو معاملو سڄي جو سڄو الله جي اختيار ۾ آهي. ان جو نتيجو اِهو نڪرندو ته هو (سيني) ڪان وڌيڪ الله ڪان ڊڄندو ۽ سيني ڪان وڌيڪ آخرت جو حريص بڻجي ويندو. معاملن ۾ هو پنهنجن خواهشن جي پٺيان نه هلندو، بلڪ الله جي عدالت ڪي سامهون رکي پنهنجو رَوَيّو مقرر ڪندو. هِن جي قول ۽ عمل ۾ فرق نه هوندو. هُن جو مال پنهنجو مال نه رهندو، بلڪ خدا جي لاءِ وقف ٿي ويندو. الله جي راهه ۾ هلڻ ۾ چاهي ڪيترييون ئي ڏکيائيون پيش اچن، هو پوري ثابت قدمي سان انهن تي قائم رهندو. ڇاڪاڻ ته هن ڪي يقين هوندو ته الله ڪي ڇڏڻ ڪان پوءِ ڪير به نه آهي جو هن جو سهارو بڻجي. هن جي دل الله جي ياد سان اهڙيءَ طرح نرم ٿي ويندي جو هو بي اختيار ان ڪي پڪارڻ لڳندو. هُن جون اڪيلائيون پنهنجي رب جي صحبت ۾ گذرڻ لڳنديون. الله جي عظمت ۽ ڪمال جي اڳيان ان ڪي پنهنجو وجود سڄي جو سڄو غلط نظر ايندو. هن وٽ چوڻ جي لاءِ اُن ڪان سواءِ ڪجهه به نه رهندو ته اي منهنجا رب! مون ڪي بخش ڪر.

شَهِدَ اللّٰهُ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۙ وَ الْمَلٰٓئِكَةُ وَ اُولُوا الْعِلْمِ قَآئِمًۢا بِالْقِسْطِ ؕ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ
الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ؕ﴿۱۸﴾ اِنَّ الدِّيْنَ عِنْدَ اللّٰهِ الْاِسْلَامُ ۟ وَ مَا اخْتَلَفَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ
اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْعِلْمُ بَغْيًۢا بَيْنَهُمْ ؕ وَ مَنْ يَّكْفُرْ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَاِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ
الْحِسَابِ ﴿۱۹﴾ فَاِنْ حَآجُّوْكَ فَقُلْ اَسْلَمْتُ وَجْهِيَ لِلّٰهِ وَ مَنِ اتَّبَعَنِ ؕ وَ قُلْ لِّلَّذِيْنَ اُوْتُوا

الْكِتٰبَ وَ الْاُمِّيّٖنَ ءَاَسْلَمْتُمْ ؕ فَاِنْ اَسْلَمُوْا فَقَدِ اهْتَدَوْا ۚ وَ اِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا عَلَيْكَ
ع ١٠ الْبَلٰغُ ؕ وَ اللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿٢٠﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَ يَقْتُلُوْنَ النَّبِيّٖنَ بِغَيْرِ
حَقٍّ ۙ وَّ يَقْتُلُوْنَ الَّذِيْنَ يَاْمُرُوْنَ بِالْقِسْطِ مِنَ النَّاسِ ۙ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٢١﴾
اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ ؗ وَ مَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿٢٢﴾

الله شاهدي ڏني ٿو ۽ فرشتا ۽ اهل علم پڻ ته الله کانسواءِ ڪوبه معبود نه آهي. هو قائم رکڻ وارو آهي انصاف کي. ان کانسواءِ ڪوبه معبود نه آهي. هو زبردست آهي، حڪمت وارو آهي. الله وٽ دين فقط اسلام آهي ۽ اهل ڪتاب ان ۾ جيڪو اختلاف ڪيو، اهو پاڻ ۾ ضد جي ڪري ڪيو. اُن کان پوءِ جڏهن اُنهن وٽ صحيح علم پهچي چڪو هو. ۽ جيڪو الله جي آيتن جو انڪار ڪري ته الله يقينًا جلد حساب وٺڻ وارو آهي. پوءِ جيڪڏهن هو توسان هِن جي باري ۾ جهيڙو ڪن ته اُنهن کي چئي ڇڏيو ته آءٌ پنهنجو رخ الله ڏانهن ڪري چڪو آهيان، ۽ جيڪي منهنجي پيروي ڪندڙ آهن اُهي به ۽ اهل ڪتاب کان ۽ اڻ پڙهيلن کان پڇ ته ڇا توهان به اهڙيءَ طرح اسلام آڻيو ٿا. جيڪڏهن هو اسلام آڻين ته انهن راهه لڌي. ۽ جيڪڏهن هو ڦري وڃن ته توتي صرف پهچائڻ آهي ۽ الله جي نگاهه ۾ آهن ان جا ٻانها. جيڪي ماڻهو الله جي نشانين جو انڪار ڪندا آهن ۽ پيغمبرن کي ناحق قتل ڪندا آهن ۽ اهڙن ماڻهن کي قتل ڪن ٿا، جيڪي ماڻهن مان انصاف جي دعوت ڪٽي اٿندا آهن، انهن کي تون هڪ دردناڪ سزا جي خوشخبري ڏئي ڇڏ. اِهي ئي اُهي ماڻهو آهن جن جا عمل دنيا ۽ آخرت ۾ ضايع ٿي ويا ۽ انهن جو ڪوبه مددگار نه هوندو. ١٨-٢٢

---

ڪائنات جو خدا هڪڙوئي خدا آهي ۽ هو عدل ۽ انصاف کي پسند ڪري ٿو. سڀئي آسماني ڪتاب پنهنجي صحيح صورت ۾ ان جو ئي اعلان ڪري رهيا آهن. پکڙيل ڪائنات کي اُن جو مالڪ پنهنجي نظر نه ايندڙ فرشتن جي ذريعي هلائي رهيو آهي. اُها ڪامل طور تي اِهڙي ئي آهي، جيئن اُن کي هئڻ گهرجي. ثابت ٿيل انساني علم جي مطابق ڪائنات ۾ هڪ حد تائين وحدانيت جو نظام آهي، ان مان واضح ٿئي ٿو ته ڪائنات جو تدبير ڪندڙ رڳو هڪ آهي. اهڙيءَ طرح ڪائنات جي هر شيءِ جو پنهنجي مناسب جاءِ تي هئڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ان جو خدا عدل کي پسند ڪرڻ وارو خدا آهي نه وري بي انصافيءَ کي پسند ڪرڻ وارو. پوءِ جيڪو خدا وسيع ڪائنات ۾ مسلسل عدل کي قائم رکندڙ هجي، اُهو انسان جي معاملي ۾ عدل جي خلاف ڳالهين تي ڪيئن راضي ٿي ويندو.

ڪائنات جو هر جز ڪامل طور تي ”مسلم“ آهي. يعني پنهنجن ڪمن کي الله جي مقرر نقشي مطابق سر انجام ڏئي ٿو. بلڪل اهڙو ئي رويو انسان کان به گهربل آهي. انسان کي گهرجي ته هو پنهنجي ربَّ کي سچائي ۽ اُن جي گهربل نقشي جي مطابق پنهنجي زندگي کي تبديل ڪري. الله کانسواءِ ٻئي کي پنهنجي توجهه جو مرڪز بڻائڻ يا اِهو خيال ڪرڻ ته الله جو فيصلو عدل کانسواءِ ڪنهن ٻئي بنياد تي ٿي سگهي ٿو، اها اهڙي بي بنياد ڳالهه آهي جنهن جي لاءِ موجوده ڪائنات ۾ ڪابه جاءِ نه آهي.

قرآن جي دعوت انهيءَ سچي اسلام جي دعوت آهي. جيڪي ماڻهو ان ۾ اختلاف ڪري رهيا آهن، ان جو سبب اِهو نه آهي ته اُن جو حق هجڻ انهن تي واضح نه آهي، ان جو سبب ضد آهي. اُن کي مڃڻ انهن کي قرآن جي داعي جي فڪري برتري کي تسليم ڪرڻ جي هم معنيٰ نظر اچي ٿو ۽ انهن جي حسد

۾ تڪبر واري نفسيات ان قسم جو اعتراف ڪرڻ جي لاءِ راضي نٿي ٿئي. سڌي طرح حق کي مڃڻ بجاء هو چاهين ٿا تہ ان زبان کي ئي بند ڪري ڇڏين جيڪا حق جو اعلان ڪري رهي آهي. پر خدا جي دنيا ۾ ائين ٿيڻ ممڪن نہ آهي. حق جي داعي جي زبان کي بند ڪرڻ وارو انهن جو هر منصوبو ناڪام ٿيندو ۽ جڏهن خدا جي عدل جي ساهمي قائم ٿيندي تہ هو ڏسي وٺندا تہ انهن جا اُهي (عمل) ڪيتري قدر بي قيمت هئا, جن جي ڀروسي تي هو پنهنجي نجات ۽ ڪاميابي جو يقين ڪري ويٺا هئا. سچو دليل الله جي نشاني آهي. جيڪو شخص دليل جي سامهون نہ ٿو جهڪي، اهو ڄڻ تہ الله جي سامهون نہ ٿو جهڪي. اهڙا ماڻهو قيامت جي ڏينهن اهڙيءَ طرح اٿندا جو اهي سڀ ڪان وڌيڪ بي سهارا هوندا.

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ اُوْتُوْا نَصِيْبًا مِّنَ الْكِتٰبِ يُدْعَوْنَ اِلٰى كِتٰبِ اللّٰهِ لِيَحْكُمَ بَيْنَهُمْ ثُمَّ يَتَوَلّٰى فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ وَ هُمْ مُّعْرِضُوْنَ۝٢٣ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْا لَنْ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّاۤ اَيَّامًا مَّعْدُوْدٰتٍ ۪ وَّ غَرَّهُمْ فِيْ دِيْنِهِمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ۝٢٤ فَكَيْفَ اِذَا جَمَعْنٰهُمْ لِيَوْمٍ لَّا رَيْبَ فِيْهِ ۫ وَ وُفِّيَتْ كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَ هُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ۝٢٥ قُلِ اللّٰهُمَّ مٰلِكَ الْمُلْكِ تُؤْتِي الْمُلْكَ مَنْ تَشَآءُ وَ تَنْزِعُ الْمُلْكَ مِمَّنْ تَشَآءُ ۫ وَ تُعِزُّ مَنْ تَشَآءُ وَ تُذِلُّ مَنْ تَشَآءُ ؕ بِيَدِكَ الْخَيْرُ ؕ اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ۝٢٦ تُوْلِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَ تُوْلِجُ النَّهَارَ فِي الَّيْلِ ۫ وَ تُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَ تُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ ۫ وَ تَرْزُقُ مَنْ تَشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ۝٢٧

ڇا تو انهن ماڻهن کي نہ ڏٺو جن کي الله جي ڪتاب جو هڪ حصو ڏنو ويو هو. انهن کي الله جي ڪتاب ڏانهن سڏيو پيو وڃي تہ اِهو انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪري، پوءِ انهن مان هڪ جماعت منهن ڦيري ٿي وٺي بي مروتي سان. اِهو اُن ڪري جو اُهي ماڻهو چوندا آهن تہ اسان کي ڪڏهن بہ باهہ نہ ڇهندي سواءِ ڪجهہ ڳڻيل ڏينهن جي ۽ سندن گهڙيل عقيدن انهن کي اُنهن جي دين جي باري ۾ دوکي ۾ وجهي ڇڏيو آهي. پوءِ اُن وقت ڇا ٿيندو جڏهن اسان انهن کي جمع ڪنداسون هڪ اهڙي ڏينهن جنهن جي اچڻ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي ۽ هر شخص کي سندس ڪمائيءَ جو پورو پورو بدلو ڏنو ويندو ۽ انهن تي ظلم نہ ڪيو ويندو. تون چئو اي الله! ملڪ جا مالڪ تون جنهن کي چاهين بادشاهت ڏين ۽ جنهن کان چاهين بادشاهت کسي وٺين ۽ تون جنهن کي چاهين عزت ڏين ۽ جنهن کي چاهين ذليل ڪرين. تنهنجي هٿ ۾ آهن سڀئي ڀلايون. بيشڪ تون هر شيءِ تي قادر آهين. تون رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪرين ٿو ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪندو آهين ۽ تون بي جان مان جاندار کي ڪڍين ٿو ۽ تون جاندار مان بي جان کي ڪيندو آهين ۽ تون جنهن کي چاهين ٿو بي حساب رزق ڏيندو آهين. ٢٣-٢٧

---

الله جي هدايت هڪ ئي هدايت آهي، جيڪا مختلف قومن جي زبان ۾ اُنهن جي پيغمبرن تي نازل ٿيندي رهي آهي. اُهائي قرآن جي صورت ۾ پيغمبر آخر الزمانﷺ تي نازل ڪئي وئي آهي. اُن يڪسانيت جي ڪري آسماني ڪتابن کي ڄاڻڻ ۽ مڃڻ وارن جي لاءِ قرآن جي دعوت کي سڃاڻڻ مشڪل نہ آهي. قرآن جي دعوت ۽ اڳين آسماني تعليم ۾ جيڪڏهن ڪو فرق آهي تہ صرف اِهو تہ قرآن جي دعوت انهن جي پنهنجن ملاوٽن کان الله جي دين کي پاڪ ڪري رهي آهي. اُن جي باوجود ائين ڇو آهي تہ

کيترائي ماڻهو قرآن جي دعوت جو انڪار ڪري رهيا آهن. ان جو سبب اِهو آهي تہ هو قرآن جي دعوت کي پنهنجي لاءِ ڪو سنجيده معاملو نہ ٿا سمجهن. پنهنجن گهڙيل عقيدن جي ڪري اُنهن پاڻ کي جهنم جي باهہ کان محفوظ سمجهي ورتو آهي. پنهنجي ان نفسيات جي ڪري هو سمجهن ٿا تہ جيڪڏهن هو اُن حق جو اعتراف نہ ڪن تہ اُن سان انهن جي نجات خطري ۾ پوڻ واري نہ آهي. پر جڏهن الله جي انصاف جي ساهمي قائم ٿيندي تہ ان وقت انهن کي خبر پوندي تہ اهي رڳو خوش فهمي جي اونداهين ۾ پيل هئا.

هر قسم جي عزت ۽ طاقت الله جي اختيار ۾ آهي. وقت جا وڏا جنهن کي بي حقيقت سمجهي وٺن، الله چاهي تہ انهيءَ جي حق ۾ عزت ۽ سربلنديءَ جو فيصلو ڪري ڇڏي. علم جي گادين تي ويهڻ وارا جنهن جي جهالت جي فتويٰ ڏين، الله چاهي تہ انهي جي ذريعي علم جا چشما جاري ڪري ڇڏي. الله جي نظر ۾ جيڪڏهن ڪو عزت ۽ طاقت جو مستحق ٿي سگهي ٿو تہ اِهو اُهو آهي جيڪو اُن کي خالص الله جي شيءِ سمجهي ۽ الله جي نظر ۾ ان جو سيني کان وڌيڪ غير مستحق جيڪڏهن ڪو آهي تہ اِهو اُهو آهي جيڪو اُن کي پنهنجي ذاتي ملڪيت سمجهي وٺي. الله وسيع ڪائنات ۾ هر روز وڏي پيماني تي اهو ڪرشمو ڏيکاري رهيو آهي تہ هو اونداهيءَ کي روشني جي مٿان ڍَڪي ڇڏي ٿو ۽ روشنيءَ کي اونداهي جي مٿان وجهي ڇڏي ٿو. هو مُرده شين مان زندگيءَ کي وجود ۾ آڻي ٿو ۽ زنده شين کي مرده شين ۾ تبديل ڪندو آهي. الله جي اِها ئي قدرت جيڪڏهن انساني تاريخ ۾ ظاهر ٿئي تہ ان ۾ تعجب جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. جيڪي ماڻهو حق جي نالي تي ناحق جو ڪاروبار ڪري رهيا هجن، اهي هميشہ حق جي دعوت جا مخالف بڻجي ويندا آهن. اِهڙي داعي کي بي گهر ڪيو ويندو آهي. هن جا معاشي ذريعا برباد ڪيا ويندا آهن. پر اهڙو شخص سڌوسنئون الله جي سرپرستيءَ ۾ هوندو آهي. هو ان جي لاءِ خاص رزق جو انتظام ڪندو آهي. ٻين کي انهن جي معاشي محنت جي حساب سان رزق ڏنو ويندو آهي ۽ اهڙي شخص کي بنا حساب.

لَا يَتَّخِذِ الْمُؤْمِنُوْنَ الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ وَ مَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَلَيْسَ
مِنَ اللّٰهِ فِيْ شَيْءٍ اِلَّآ اَنْ تَتَّقُوْا مِنْهُمْ تُقٰىةً ؕ وَ يُحَذِّرُكُمُ اللّٰهُ نَفْسَهٗ ؕ وَ اِلَى اللّٰهِ
الْمَصِيْرُ ﴿۲۸﴾ قُلْ اِنْ تُخْفُوْا مَا فِيْ صُدُوْرِكُمْ اَوْ تُبْدُوْهُ يَعْلَمْهُ اللّٰهُ ؕ وَ يَعْلَمُ مَا فِي
السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۲۹﴾ يَوْمَ تَجِدُ كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ
مِنْ خَيْرٍ مُّحْضَرًا ۛۚ وَّ مَا عَمِلَتْ مِنْ سُوْٓءٍ ۛۚ تَوَدُّ لَوْ اَنَّ بَيْنَهَا وَ بَيْنَهٗۤ اَمَدًۢا بَعِيْدًا ؕ وَ
ع يُحَذِّرُكُمُ اللّٰهُ نَفْسَهٗ ؕ وَ اللّٰهُ رَءُوْفٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿۳۰﴾ قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ
يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ وَ يَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۳۱﴾ قُلْ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ
الرَّسُوْلَ ۚ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۳۲﴾

مسلمانن کي گهرجي تہ مسلمانن کي ڇڏي ڪافرن کي دوست نہ بڻائين ۽ جيڪو شخص ائين ڪندو تہ الله سان اُن جو ڪوبہ تعلق نہ آهي. پر اهڙي حالت ۾ جو توهان انهن کان بچاءَ ڪرڻ گهرو ۽ الله توهان کي ڊيڄاري ٿو پنهنجي ذات کان ۽ الله ڏانهن ئي موٽڻو آهي. چئي ڇڏيو تہ جيڪو ڪجهہ توهان جي سينن ۾ آهي، ان کي لڪايو يا ظاهر ڪريو، الله ان کي ڄاڻي ٿو ۽ هو ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهہ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو زمين ۾ آهي ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي. جنهن ڏينهن هر شخص پنهنجي ڪيل نيڪيءَ کي پنهنجي سامهون موجود ڏسندو، ۽ جيڪا برائي ڪئي هوندي ان کي بہ. اُن ڏينهن هر ماڻهو اهو چاهيندو تہ ڪاش! اجا اهو ڏينهن ان کان تمام پري هجي ها ۽ الله توهان کي ڊيڄاري ٿو پنهنجي ذات کان ۽ الله پنهنجن ٻانهن تي وڏو مهربان آهي. چئو جيڪڏهن توهان الله سان محبت ڪريو ٿا تہ منهنجي تابعداري ڪريو تہ الله توهان سان محبت ڪندو ۽ توهان جي گناهن کي معاف ڪري ڇڏيندو. الله وڏو معاف ڪرڻ وارو، وڏو مهربان آهي. چئو تہ الله جي اطاعت ڪريو ۽ رسول جي. پوءِ جيڪڏهن هو منهن موڙين تہ الله ڪافرن کي دوست نہ ٿو رکي. ٢٨-٣٢

---

مؤمن سڀني انسانن سان نيڪي ۽ عدل ڪرڻ وارو هوندو آهي. اُن ۾ مسلم ۽ غير مسلم جو ڪوبہ فرق نہ آهي. پر جڏهن غير مسلمن سان دوستي مسلمانن جي مفاد جي قيمت تي هجي تہ اِهڙي دوستي مسلمان جي لاءِ جائز نہ آهي. پوءِ پنهنجي بچاءُ جي تدبير خاطر جيڪڏهن ڪنهن وقت هڪ مسلمان يا ڪنهن مسلمان جماعت کي غير مسلمانن سان وقتي تعلق قائم ڪرڻو پوي تہ اُن ۾ ڪوبہ حرج نہ آهي. الله نيت کي ڏسي ٿو ۽ جڏهن نيت درست هجي تہ هو ڪنهن کي اُن جي عمل تي نہ ٿو پڪڙي. سڀني معاملن ۾ اصل قابل لحاظ شيءِ الله جو خوف آهي. ماڻهو ڪنهن معاملي ۾ جيڪو بہ رويو اختيار ڪري، اُن کي چڱي طرح سوچڻ گهرجي تہ الله اُن جو حساب وٺندو ۽ اُن جي انصاف جي ساهميءَ ۾ جيڪو غلط ثابت ٿيندو اهو اُن جي سزا ڀوڳيندو. الله کان ڪنهن انسان جي ڪابہ ڳالهہ لڪيل نہ آهي، چاهي هن لڪي ڪري ڪئي هجي يا ظاهر ظهور ڪئي هجي. جڏهن امتحان جو پردو هٽندو ۽ عالم آخرت سامهون ايندي تہ ماڻهوءَ جي عملن جي سڄي پوک هن جي سامهون هوندي. اِهو منظر ايترو تہ ڊيڄاريندڙ هوندو جو اُهي شيون جيڪي دنيا ۾ ان جي نفس جي لذت بڻيل هيون، هو چاهيندو تہ اُهي هُن کان تمام پري هليون وڃن.

الله ڪنهن جي اسلام کي جتي ڏسندو آهي، اُها اُن جي دل آهي. مؤمن اُهوئي آهي جنهن جو الله سان تعلق قلبي محبت جي حد تائين قائم ٿي وڃي. اهڙا ئي ماڻهو الله جي محبت ۽ توجهہ جا مستحق بڻجن ٿا ۽ جيڪو شخص الله سان اهڙيءَ طرح تعلق قائم ڪري وٺي تہ پوءِ جيڪڏهن هن کان غلطيون بہ ٿينديون هجن تہ الله اُن کان درگذر فرمائيندو آهي. الله سرڪشن جي لاءِ تمام سخت آهي. پر جيڪي ماڻهو عاجزي وارو رويو اختيار ڪن تہ الله بہ انهن لاءِ نرمي ڪندڙ آهي.

اِها هڪ نفسياتي حقيقت آهي تہ جنهن جي سيني ۾ ڪنهن جي محبت موجود هجي، ان سيني ۾ محبوب جي دشمن جي محبت جمع ٿي نٿي سگهي. انهيءَ سان گڏ اِها بہ هڪ حقيقت آهي تہ محبوب جيڪڏهن اهڙي هستي هجي جيڪا ماڻهوءَ جي لاءِ آقا ۽ مالڪ جو درجو رکندي هجي تہ اُن سان محبت رڳو محبت جي حد تائين نہ رهندي، بلڪ لازمًا اُها اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جو جذبو پيدا ڪندي. خدا جي جنهن محبت ڪانپوءِ خدا جي دشمنن سان دلي تعلق ختم نہ ٿئي يا اُن جي اطاعت ۽ فرمانبرداري جو جذبو

پيدا نہ ٿئي تہ اُها ڪوڙي محبت آهي. اِهڙي شخص جو شمار الله وٽ انڪار ڪرڻ وارن ۾ ٿيندو نہ وري مڃڻ وارن ۾. رسول اُهو شخص آهي جنهن جي ڪامل خدا پرست هئڻ جي شاهدي خود خدا ڏني آهي، انهيءَ ڪري خدا پرستاڻي زندگيءَ جي لاءِ رسول جو نمونو ئي موجوده دنيا ۾ واحد اعتبار جوڳو نمونو آهي.

اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰۤى اٰدَمَ وَ نُوْحًا وَّ اٰلَ اِبْرٰهِيْمَ وَ اٰلَ عِمْرٰنَ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿٣٣﴾ ذُرِّيَّةًۢ بَعْضُهَا
مِنْۢ بَعْضٍ ؕ وَ اللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٣٤﴾ اِذْ قَالَتِ امْرَاَتُ عِمْرٰنَ رَبِّ اِنِّيْ نَذَرْتُ لَكَ مَا فِيْ
بَطْنِيْ مُحَرَّرًا فَتَقَبَّلْ مِنِّيْ ۚ اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٣٥﴾ فَلَمَّا وَضَعَتْهَا قَالَتْ رَبِّ اِنِّيْ
وَضَعْتُهَاۤ اُنْثٰى ؕ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا وَضَعَتْ ؕ وَ لَيْسَ الذَّكَرُ كَالْاُنْثٰى ۚ وَ اِنِّيْ سَمَّيْتُهَا مَرْيَمَ
وَ اِنِّيْۤ اُعِيْذُهَا بِكَ وَذُرِّيَّتَهَا مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ﴿٣٦﴾ فَتَقَبَّلَهَا رَبُّهَا بِقَبُوْلٍ حَسَنٍ وَّ
اَنْۢبَتَهَا نَبَاتًا حَسَنًا ۙ وَّ كَفَّلَهَا زَكَرِيَّا ؕ كُلَّمَا دَخَلَ عَلَيْهَا زَكَرِيَّا الْمِحْرَابَ ۙ وَجَدَ عِنْدَهَا
رِزْقًا ۚ قَالَ يٰمَرْيَمُ اَنّٰى لَكِ هٰذَا ؕ قَالَتْ هُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ
بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٣٧﴾ هُنَالِكَ دَعَا زَكَرِيَّا رَبَّهٗ ۚ قَالَ رَبِّ هَبْ لِيْ مِنْ لَّدُنْكَ ذُرِّيَّةً طَيِّبَةً ۚ اِنَّكَ
سَمِيْعُ الدُّعَآءِ ﴿٣٨﴾ فَنَادَتْهُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَ هُوَ قَآئِمٌ يُّصَلِّيْ فِي الْمِحْرَابِ ۙ اَنَّ اللّٰهَ يُبَشِّرُكَ
بِيَحْيٰى مُصَدِّقًۢا بِكَلِمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ وَ سَيِّدًا وَّ حَصُوْرًا وَّ نَبِيًّا مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٣٩﴾ قَالَ رَبِّ اَنّٰى
يَكُوْنُ لِيْ غُلٰمٌ وَّ قَدْ بَلَغَنِيَ الْكِبَرُ وَ امْرَاَتِيْ عَاقِرٌ ؕ قَالَ كَذٰلِكَ اللّٰهُ يَفْعَلُ مَا يَشَآءُ ﴿٤٠﴾
قَالَ رَبِّ اجْعَلْ لِّيْۤ اٰيَةً ؕ قَالَ اٰيَتُكَ اَلَّا تُكَلِّمَ النَّاسَ ثَلٰثَةَ اَيَّامٍ اِلَّا رَمْزًا ؕ وَ اذْكُرْ رَّبَّكَ
كَثِيْرًا وَّ سَبِّحْ بِالْعَشِيِّ وَ الْاِبْكَارِ ﴿٤١﴾ وَ اِذْ قَالَتِ الْمَلٰٓئِكَةُ يٰمَرْيَمُ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰكِ وَ ع ١٢
طَهَّرَكِ وَ اصْطَفٰكِ عَلٰى نِسَآءِ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٢﴾ يٰمَرْيَمُ اقْنُتِيْ لِرَبِّكِ وَاسْجُدِيْ وَ ارْكَعِيْ
مَعَ الرّٰكِعِيْنَ ﴿٤٣﴾ ذٰلِكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الْغَيْبِ نُوْحِيْهِ اِلَيْكَ ؕ وَ مَا كُنْتَ لَدَيْهِمْ اِذْ يُلْقُوْنَ
اَقْلَامَهُمْ اَيُّهُمْ يَكْفُلُ مَرْيَمَ ۠ وَ مَا كُنْتَ لَدَيْهِمْ اِذْ يَخْتَصِمُوْنَ ﴿٤٤﴾

بيشڪ الله آدم ۽ نوح ۽ آل ابراهيم ۽ آل عمران کي سڄي جهان وارن مٿان چونڊيو آهي. اُهي هڪ ٻئي جو اولاد آهن ۽ الله ٻڌڻ وارو ڄاڻڻ وارو آهي. جڏهن عمران جي زال چيو اي منهنجا رب! مون نذر ڪيو تنهنجي لاءِ جيڪو منهنجي پيٽ ۾ آهي، اهو آزاد رکيو ويندو، بس تون مون کان قبول فرماءِ. بيشڪ تون ٻڌڻ وارو ڄاڻڻ وارو آهين. پوءِ جڏهن هُن ڄڻيو تہ اُن چيو اي منهنجا رب! مون تہ نياڻي ڄڻي آهي ۽ الله چڱي طرح ڄاڻي ٿو تہ هُن ڇا ڄڻيو آهي ۽ پٽ نہ هوندو ڌيءَ وانگر ۽ مون اُن جو نالو مريم رکيو آهي ۽ آءٌ اُن کي ۽ اُن جي اولاد کي شيطان مردود کان تنهنجي پناهہ ۾ ڏيان ٿي. پوءِ اُن جي رب اُن کي چڱي طرح قبول ڪيو ۽ اُن جي بهترين

طريقي سان پرورش ڪئي ۽ زڪريا کي اُن جو سرپرست بڻايو. جڏهن بہ زڪريا اُن وٽ حُجري ۾ ايندو هو تہ اُتي رزق ڏسندو هو. هن پڇيو تہ اي مريم! اهي شيون توکي ڪٿان ملنديون آهن. مريم چيو اِهي الله جي طرف کان آهن. بيشڪ الله جنهن کي چاهي ٿو بي حساب رزق ڏي ٿو. اُن وقت زڪريا پنهنجي رب کي پڪاريو. هن چيو اي منهنجا رب! مون کي پاڻ وٽان نيڪ اولاد عطا ڪر. بيشڪ تون دعا جو ٻڌڻ وارو آهين. پوءِ فرشتن اُن کي آواز ڏنو جڏهن هو حُجري ۾ بيٺي نماز پڙهي رهيو هو تہ الله توکي يحييٰ جي خوشخبري ڏي ٿو. جيڪو الله جي هڪ ڪلمي جي تصديق ڪرڻ وارو هوندو ۽ سردار هوندو ۽ پنهنجي نفس کي روڪڻ وارو هوندو ۽ نبي هوندو صالحين مان. زڪريا چيو اي منهنجا رب! مون کي پٽ ڪيئن ٿيندو جڏهن تہ آئون پيرسن تي چڪو آهيان ۽ منهنجي زال سنڍ آهي. فرمايائين اهڙيءَ طرح الله ڪري ٿو جيڪو هو چاهي ٿو. زڪريا چيو اي منهنجا رب! منهنجي لاءِ ڪا نشاني مقرر فرماءِ. فرمايائين تنهنجي لاءِ اِها نشاني آهي تہ تون ٽن ڏينهن تائين ماڻهن سان ڳالهائي نہ سگهندين، پر صرف اشارن سان ۽ پنهنجي رب کي ڪثرت سان ياد ڪر ۽ شام ۽ صبح اُن جي تسبيح ڪندو رهہ. ۽ جڏهن فرشتن چيو اي مريم! الله توکي چونڊيو آهي ۽ توکي پاڪ ڪيو آهي ۽ توکي سڄي دنيا جي عورتن جي مقابلي ۾ چونڊيو آهي. اي مريم! پنهنجي رب جي فرمانبرداري ڪر ۽ سجدو ڪر ۽ رڪوع ڪرڻ وارن سان گڏ رڪوع ڪر. اِهي غيب جون خبرون آهن جيڪي اسان توڏانهن وحي ڪري رهيا آهيون ۽ تون انهن وٽ موجود نہ هئين جڏهن هو پنهنجا ڪُٽا وجهي رهيا هئا تہ ڪير مريم جي سرپرستي ڪري ۽ نہ تون اُن وقت اُنهن وٽ موجود هئين جڏهن هو پاڻ ۾ جهڳڙو ڪري رهيا هئا. ٣٣-٤٤

---

الله حضرت زڪريا عليہ السلام کي پيريءَ ۾ اولاد ڏنو. حضرت مريم عليها السلام کي حجري ۾ رزق پهچايو. حضرت مسيح عليہ السلام کي بغير پيءُ جي پيدا ڪيو. آل ابراهيم ۾ اهڙا صالح ماڻهو پيدا ڪيا جن کي خدا جي پيغمبري جي لاءِ چونڊيو ويجي. الله پنهنجن انهن ٻانهن کي اِهي انعامَ ائين ئي نہ ڏنا هئا، بلڪ انهن کي ان جو مستحق ڏسي ائين ڪيو. هي اُهي ماڻهو هئا جن پنهنجي اولاد مان معاشي اميدون قائم نہ ڪيون هيون، انهن جي خوشي ان ۾ هئي تہ اُنهن جو اولاد الله جي راهہ ۾ سرگرم هجي. اِهي اُهي ماڻهو هئا جن پنهنجي اندر ان خواهش جي پرورش ڪئي تہ انهن جو اولاد شيطان کان بچيل رهي، هو نيڪ ٻانهن جي جماعت ۾ شامل ٿي وڃي. ڪنهن ۾ ڀلائي ڏسي هو حسد ۽ ساڙ ۾ مبتلا نہ ٿئي. اُنهن جي نيڪ جذبن جي اثر سان اُنهن جو اولاد بہ اهڙو هو جيڪو دنيا جي زندگيءَ ۾ پنهنجي نفس تي قابو رکڻ وارو هو ۽ هو الله کي ياد ڪرڻ وارو هو. بدي ۽ نيڪي جي وچ ۾ هو نيڪي جو رستو اختيار ڪرڻ وارو هو. اهي ئي اُهي ماڻهو آهن، جن کي الله پنهنجي خاص رزق مان ڪارائيندو ۽ پيئاريندو آهي ۽ انهن کي پنهنجي خاص رحمت جي لاءِ قبول ڪري وٺي ٿو.

اِذْ قَالَتِ الْمَلٰٓئِكَةُ يٰمَرْيَمُ اِنَّ اللّٰهَ يُبَشِّرُكِ بِكَلِمَةٍ مِّنْهُ ۖ اسْمُهُ الْمَسِيْحُ عِيْسَى ابْنُ
مَرْيَمَ وَجِيْهًا فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ وَ مِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ﴿٣٥﴾ وَ يُكَلِّمُ النَّاسَ فِي الْمَهْدِ وَ
كَهْلًا وَّ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٣٦﴾ قَالَتْ رَبِّ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ وَلَدٌ وَّ لَمْ يَمْسَسْنِيْ بَشَرٌ ۭ قَالَ
كَذٰلِكِ اللّٰهُ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ۭ اِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿٣٧﴾ وَ يُعَلِّمُهُ
الْكِتٰبَ وَ الْحِكْمَةَ وَ التَّوْرٰىةَ وَ الْاِنْجِيْلَ ﴿٣٨﴾ وَ رَسُوْلًا اِلٰى بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ۙ اَنِّيْ قَدْ

جِئۡتُكُمۡ بِاٰيَةٍ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ ۙ اَنِّیۡۤ اَخۡلُقُ لَكُمۡ مِّنَ الطِّیۡنِ كَهَیۡـَٔةِ الطَّیۡرِ فَاَنۡفُخُ فِیۡهِ
فَیَكُوۡنُ طَیۡرًۢا بِاِذۡنِ اللّٰهِ ۚ وَ اُبۡرِئُ الۡاَكۡمَهَ وَ الۡاَبۡرَصَ وَ اُحۡیِ الۡمَوۡتٰى بِاِذۡنِ اللّٰهِ ۚ وَ
اُنَبِّئُكُمۡ بِمَا تَاۡكُلُوۡنَ وَ مَا تَدَّخِرُوۡنَ ۙ فِیۡ بُیُوۡتِكُمۡ ؕ اِنَّ فِیۡ ذٰلِكَ لَاٰیَةً لَّكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ
مُّؤۡمِنِیۡنَ ۚ﴿۴۹﴾ وَ مُصَدِّقًا لِّمَا بَیۡنَ یَدَیَّ مِنَ التَّوۡرٰىةِ وَ لِاُحِلَّ لَكُمۡ بَعۡضَ الَّذِیۡ حُرِّمَ
عَلَیۡكُمۡ وَ جِئۡتُكُمۡ بِاٰیَةٍ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ ۟ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِیۡعُوۡنِ ﴿۵۰﴾ اِنَّ اللّٰهَ رَبِّیۡ وَ رَبُّكُمۡ
فَاعۡبُدُوۡهُ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسۡتَقِیۡمٌ ﴿۵۱﴾

جڏهن فرشتن چيو اي مريم! الله تعاليٰ توکي خوشخبري ڏي ٿو پنهنجي طرفان هڪ ڪلمي جي. اُن جو نالو مسيح عيسيٰ پٽ مريم هوندو. هو دنيا ۽ آخرت ۾ مرتبي وارو هوندو ۽ الله تعاليٰ جي مقرب ٻانهن مان هوندو. هو ماڻهن سان ڳالهيون ڪندو جڏهن ماءُ جي هنج ۾ هوندو ۽ جڏهن پوري عمر جو هوندو ۽ هو صالحين مان هوندو. مريم چيو اي منهنجا رب! مون کي ڪيئن پٽ ٿيندو، جڏهن ته ڪنهن بشر مون کي هٿ نه لاتو آهي. فرمايو ته اهڙيءَ طرح الله پيدا ڪري ٿو جيڪو چاهي ٿو. جڏهن هو ڪنهن ڪم جو فيصلو ڪري ٿو ته ان کي چوندو آهي ته ٿيءُ ۽ اهو ٿي پوندو آهي. ۽ الله هُن کي ڪتاب ۽ حڪمت ۽ توريت ۽ انجيل سيکاريندو ۽ هو رسول هوندو بني اسرائيل ڏانهن ته آئون توهان وٽ توهان جي رب جي نشاني کڻي آيو آهيان. آئون توهان جي لاءِ مٽيءَ مان پکيءَ جهڙي شڪل ٺاهيندو آهيان، ۽ ان ۾ ڦوڪ ڏيان ٿو ته هو الله جي حڪم سان واقعي پکي ٿي پوندو آهي ۽ آئون الله جي حڪم سان ڄائي ڄم ڪان انڌي ۽ ڪوڙهه واري کي چڱو ڀلو ڪندو آهيان ۽ آئون الله جي حڪم سان مئل کي زنده ڪندو آهيان ۽ آئون توهان کي ٻڌائيندو آهيان ته توهان ڇا کائيندا آهيو ۽ پنهنجن گهرن ۾ ڇا ذخيرو ڪندا آهيو. بيشڪ اُن ۾ توهان جي لاءِ نشاني آهي، جيڪڏهن توهان ايمان رکو ٿا. ۽ آئون تصديق ڪرڻ وارو آهيان توريت جي جيڪو مون کان اڳ ۾ آيل آهي ۽ آئون اُن لاءِ آيو آهيان ته ڪجهه انهن شين کي توهان جي لاءِ حلال ڪريان، جيڪي توهان تي حرام ڪيون ويون آهن ۽ آئون توهان وٽ توهان جي رب جي طرفان نشاني کڻي آيو آهيان. پوءِ توهان الله کان ڊڄو ۽ منهنجي اطاعت ڪريو. بيشڪ الله منهنجو رب آهي ۽ توهان جو به. پوءِ اُن جي عبادت ڪريو اِهائي سِڌي راهه آهي. ٤٥-٥١

---

يهودين جي نسل کي الله ان خاص منصب جي لاءِ چونڊيو هو ته انهن تي پنهنجي هدايت نازل ڪري ته جيئن هو الله جي رستي تي هلن ۽ ٻين کي اُن کان آگاهه ڪن. پر وقت گذرڻ کان پوءِ يهودين ۾ بگاڙ اچي ويو. ايتري قدر جو الله جي نظر ۾ هو اُن قابل نه رهيا جو آسماني هدايت جا امين بڻجي سگهن. هاڻي الله اهو فيصلو ڪيو ته اِها امانت اُنهن کان ڪسي آل ابراهيم جي ٻي شاخ (بني اسماعيل) کي ڏني وڃي. اُن فيصلي کي نافذ ڪرڻ کان پهرين يهودين تي حجت پوري ڪرڻ ضروري هئي. حضرت مسيح عليه السلام انهي حجت کي پورو ڪرڻ لاءِ موڪليا ويا. پاڻ عليه السلام جي عام طريقي کان هٽي ڪري پيدائش ۽ ڪين غير معمولي معجزن جو ڏنو وڃڻ انهي ڪري هو ته يهودين کي اُن باري ۾ ڪو شڪ شبهو نه رهي ته پاڻ عليه السلام الله طرفان موڪليل آهن ۽ الله جي طرفان ڳالهائي رهيا آهن. حضرت مسيح عليه السلام وٽ نه صرف غير معمولي نشانيون هيون، بلڪ هو ايتري ته اثراتي ۽ دليل واري انداز سان ڳالهائيندا هئا جو اُن زماني ۾ ڪو به اهڙيءَ طرح ڳالهائڻ تي قادر نه هو. پهريون دفعو جڏهن پاڻ يروشلم جي هيڪل ۾

تقرير ڪئي تہ يهودي عالم پاڻ عليہ السلام جي ڳالهين کي ٻڌي دنگ رهجي ويا (لوقا ٢ :٤٨). اِها سندن حيران ڪندڙ شخصيت ۽ حيرت ۾ وجهڻ واري ڪلام جو ئي اثر هو تہ جيتوڻيڪ پاڻ عليہ السلام بغير پيءُ جي پيدا ٿيا هئا، پر سندس سامهون ڪنهن کي همت نہ ٿي سگهي تہ ان لحاظ کان انهن تي ٽوڪ ڪن. جيئن تہ يهودي ايترا بي حِس ۽ سرڪش ٿي چڪا هئا جو انتهائي واضح دليل سامهون اچڻ کان پوءِ بہ ڪين مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ”ان ۾ نشاني آهي ايمان وارن جي لاءِ“. يعني جيڪو دليل پيش ڪيو پيو وڃي اُهو بذات خود مڪمل آهي. پر اُهو اُن شخص جي لاءِ دليل بڻبو جيڪو مڃڻ جو مزاج رکندو هجي. جنهن ۾ اِها صلاحيت هجي تہ پنهنجن خيالن جي مونجهارن مان ٻاهر نڪري دليل تي غور ڪري. جنهن جي فِطرت ان حد تائين زنده هجي تہ ذاتي وڏائي جو سوال ان جي لاءِ حق کي قبول ڪرڻ ۾ رڪاوٽ نہ بڻجي.

فَلَمَّآ اَحَسَّ عِيْسٰى مِنْهُمُ الْكُفْرَ قَالَ مَنْ اَنْصَارِيْٓ اِلَى اللّٰهِ ؕ قَالَ الْحَوَارِيُّوْنَ نَحْنُ
اَنْصَارُ اللّٰهِ ۚ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ ۚ وَ اشْهَدْ بِاَنَّا مُسْلِمُوْنَ ﴿٥٢﴾ رَبَّنَآ اٰمَنَّا بِمَآ اَنْزَلْتَ وَ اتَّبَعْنَا
الثلث ع ١٣ ٥ ١٣٠ الرَّسُوْلَ فَاكْتُبْنَا مَعَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٥٣﴾ وَ مَكَرُوْا وَ مَكَرَ اللّٰهُ ؕ وَ اللّٰهُ خَيْرُ الْمٰكِرِيْنَ ﴿٥٤﴾ اِذْ
قَالَ اللّٰهُ يٰعِيْسٰٓى اِنِّيْ مُتَوَفِّيْكَ وَ رَافِعُكَ اِلَيَّ وَ مُطَهِّرُكَ مِنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ جَاعِلُ
الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْكَ فَوْقَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ۚ ثُمَّ اِلَيَّ مَرْجِعُكُمْ فَاَحْكُمُ
بَيْنَكُمْ فِيْمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿٥٥﴾ فَاَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَاُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا فِي
الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ ۫ وَ مَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿٥٦﴾ وَ اَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ
فَيُوَفِّيْهِمْ اُجُوْرَهُمْ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يُحِبُّ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥٧﴾ ذٰلِكَ نَتْلُوْهُ عَلَيْكَ مِنَ الْاٰيٰتِ
وَالذِّكْرِ الْحَكِيْمِ ﴿٥٨﴾

پوءِ جڏهن عيسيٰ انهن جو انڪار ڏٺو تہ چيائين ڪير آهي الله جي راهہ ۾ منهنجو مددگار. حوارين چيو اسان آهيون الله جا مددگار. اسان ايمان آندو آهي الله تي ۽ تون شاهد رهجان تہ اسان فرمانبردار آهيون. اي اسان جا رب! اسان ايمان آندو اُن تي جيڪو تو نازل ڪيو ۽ اسان رسول جي پيروي ڪئي. پوءِ تون لکي ڇڏ اسان کي شاهدي ڏيڻ وارن مان. ۽ انهن لڪيل رٿ رٿي ۽ الله بہ لڪيل رٿ رٿي ۽ الله سڀ کان بهتر رٿ رٿڻ وارو آهي. جڏهن الله چيو اي عيسيٰ! آئون توکي واپس وٺڻ وارو آهيان ۽ توکي پاڻ ڏانهن مٿي کڻڻ وارو آهيان ۽ جن ماڻهن انڪار ڪيو آهي، انهن کان توکي پاڪ ڪرڻ وارو آهيان ۽ جيڪي تنهنجا تابعدار آهن، انهن کي قيامت تائين اُنهن ماڻهن تي غالب ڪرڻ وارو آهيان جن تنهنجو انڪار ڪيو. پوءِ مون ڏانهن سڀني کي موٽڻو آهي. پوءِ آئون توهان جي وچ ۾ انهن شين بابت فيصلو ڪندس جنهن ۾ توهان اختلاف ڪندا هئا. پوءِ جيڪي ماڻهو منڪر ٿيا، انهن کي سخت عذاب ڏيندس دنيا ۾ ۽ آخرت ۾ ۽ انهن جو ڪوبہ مددگار نہ هوندو. ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نيڪ ڪم ڪيا، انهن کي الله انهن جو پورو اجر ڏيندو ۽ الله ظالمن کي دوست نہ ٿو رکي. هي اسان توکي ٻڌايون ٿا پنهنجون آيتون ۽ حڪمت وارا مضمون. ٥٢-٥٨

---

بني اسرائيل جي وڏن حضرت مسيح عليہ السلام کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. وڏن جي هٺ ۾ هر

قسم جا وسيلا هوندا آهن. وڏيڪ اِهو تہ مذهب جي گادين تي قبضو هجڻ جي ڪري عوام جي نظر ۾ اُهي ئي مذهب جا نمائندا هوندا آهن. ان ڪري هو جنهن ڪي رد ڪري ڇڏين، اهو نہ صرف زندگيءَ جي وسيلن کان محروم ٿي ويندو آهي، بلڪ حق جي ڪري سڀ ڪجھ وڃائڻ کان پوءِ بہ ماڻهن جي نظر ۾ بي دين ئي هوندو آهي. اهڙي وقت ۾ حق جي داعيءَ جو ساٿ ڏيڻ انتهائي ڏکيو ڪم آهي. اِهو شڪ شبهي ۽ مخالفتن جي عام فضا ۾ اُن جي صداقت تي شاهد ٿيڻ آهي. اِهو حق سان گڏ اُن وقت بيهڻ آهي جڏهن حق اڪيلو رهجي ويو هجي.

حق جڏهن پنهنجي خالص صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي تہ اُهي سڀ ماڻهو پاڻ ڪي اُن جي نشاني تي محسوس ڪندا آهن، جيڪي پنهنجي ناحق واري زندگيءَ تي حق جو ٺپو لڳائي ماڻهن جي وچ ۾ عزت جو مقام حاصل ڪيل هوندا آهن. هو داعي ڪي مغلوب ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويندا آهن. اهي طرح طرح جا شوشا ڇڏي عوام ڪي ان جي خلاف ڀڙڪائيندا آهن ۽ آخرڪار طاقت جي ذريعي ان ڪي مٽائڻ جو منصوبو ٺاهيندا آهن. پر الله جي مدد هميشہ داعيءَ سان گڏ هوندي آهي ان ڪري ڪا بہ مخالفت اُن جو آواز دبائڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي ٿئي. مخالفتن جي باوجود هو پنهنجي مشن ڪي مڪمل ڪندو آهي. جيڪي ماڻهو حق جي دعوت جا مخالف بڻجن، اُهي الله جي نظر ۾ فسادي آهن. ڇاڪاڻ تہ اهي ماڻهن ڪي جنت ڏانهن وڃڻ کان روڪيندا آهن. انهيءَ کان وڏو ڪوبہ فساد ٿي نہ ٿو سگهي جو خدا جي ٻانهن ڪي خدا جي جنت ڏانهن وڃڻ کان روڪيو وڃي.

حضرت مسيح عليہ السلام يهودي قوم ۾ پيدا ٿيا، پر يهودين سندن نبوت ڪي نہ مڃيو. اُنهن ڪين ختم ڪرڻ جي لاءِ سندن خلاف ڪوڙو ڪيس ٺاهيو ۽ ڪين فلسطين جي رومي عدالت ۾ وٺي ويا. عدالت مان ڪين ڦاهي تي چاڙهڻ جو فيصلو ٿي ويو، پر الله تعاليٰ ڪين آسمان ڏانهن کڻي ورتو ۽ رومي سپاهين هڪ ٻئي ماڻهوءَ ڪي سندس هم شڪل ڏسي ان ڪي ڦاهيءَ تي چاڙهي ڇڏيو. يهودين جي ان ڏوھ جي ڪري الله اِهو فيصلو ڪري ڇڏيو تہ حضرت مسيح عليہ السلام ڪي مڃڻ واري قوم قيامت تائين يهودي قوم تي غالب رهندي. اِهو يهودين ۽ عيسائين سان الله جو دنياوي معاملو آهي. آخرت جو معاملو اُن کان سواءِ آهي جيڪو الله جي عام سنت مطابق ٿيندو.

اِنَّ مَثَلَ عِيْسٰى عِنْدَ اللّٰهِ كَمَثَلِ اٰدَمَ ؕ خَلَقَهٗ مِنْ تُرَابٍ ثُمَّ قَالَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿۵۹﴾
اَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُنْ مِّنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿۶۰﴾ فَمَنْ حَآجَّكَ فِيْهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَكَ مِنَ
الْعِلْمِ فَقُلْ تَعَالَوْا نَدْعُ اَبْنَآءَنَا وَ اَبْنَآءَكُمْ وَ نِسَآءَنَا وَ نِسَآءَكُمْ وَ اَنْفُسَنَا وَ
اَنْفُسَكُمْ ۟ ثُمَّ نَبْتَهِلْ فَنَجْعَلْ لَّعْنَتَ اللّٰهِ عَلَى الْكٰذِبِيْنَ ﴿۶۱﴾ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْقَصَصُ
الْحَقُّ ۚ وَ مَا مِنْ اِلٰهٍ اِلَّا اللّٰهُ ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۶۲﴾ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّ اللّٰهَ
ع ٦ ١٤ عَلِيْمٌۢ بِالْمُفْسِدِيْنَ ﴿۶۳﴾

بيشڪ عيسيٰ جو مثال الله وٽ آدم جهڙو آهي. الله اُن کي مٽيءَ مان بڻايو. پوءِ اُن کي چيائين ٿي پؤ تہ هو ٿي پيو. حق ڳالهہ آهي تنهنجي رب جي طرفان. پوءِ تون نہ ٿِجانءِ شڪ ڪرڻ وارن مان. پوءِ جيڪو توسان ان باري ۾ حجت ڪري ان کان پوءِ جو تو وٽ علم اچي چڪو آهي تہ انهن کي چؤ تہ اچو اسان سڏيون پنهنجن پٽن کي ۽ توهان جي پٽن کي، پنهنجن عورتن کي ۽ توهان جي عورتن کي ۽ اسان ۽ توهان پاڻ بہ حاضر ٿيون. پوءِ پاڻ ملي دعا ڪريون تہ جيڪو ڪوڙو هجي، اُن تي الله جي لعنت هجي. بيشڪ هي سچو بيان آهي ۽ الله کان سواءِ ڪو بہ معبود نہ آهي ۽ الله ئي زبردست آهي، حڪمت وارو آهي. پوءِ جيڪڏهن هو قبول نہ ڪن تہ الله فسادين کي چاڻندڙ آهي. ٥٩-٦٣

---

عيسائي ماڻهن جو عقيدو آهي تہ حضرت عيسيٰ ؑ خدا جو پٽ آهي. انهن جو چوڻ آهي تہ حضرت مسيح ؑ عام انسانن کان بلڪل مختلف آهي. سندس پيدائش توالد و تناسل جي عام قاعدي جي خلاف پيءُ کان سواءِ ٿي، پوءِ ڪين عام انسانن وانگر هڪ انسان ڪيئن چئي سگهجي ٿو. سندن پيدائش جو طريقو پاڻ ٻڌائي ٿو تہ هو بشر نہ هئا. هو انسان جا پٽ نہ بلڪ خدا جا پٽ هئا. چيو ويو تہ توهان جي سوال جو جواب اول انسان يعني (آدم ؑ) جي تخليق ۾ موجود آهي. توهان پاڻ اِهو مڃو ٿا تہ آدم ؑ سِڌي کان پهريون بشر آهي. هو رواجي طريقي مطابق مرد ۽ عورت جي تعلق سان وجود ۾ نہ آيو هو. بلڪ سڌو سنئون الله جي حڪم سان وجود ۾ آيو. پوءِ پيءُ کانسواءِ پيدا ٿيڻ جي باوجود آدم ؑ خدا جو پٽ نہ آهي تہ اهڙيءَ طرح پيءُ کانسواءِ پيدا ٿيڻ جي ڪري مسيح ؑ ڪيئن خدا جو پٽ ٿيندو.

نجران (يمن) نزول قرآن جي زماني ۾ عيسائي مذهب جو وڏومرڪز هو. انهن جي عالمن ۽ پيشوائن جو هڪ وفد سن ٩هـ ۾ مديني آيو ۽ رسول الله ﷺ سان مسيحي عقيدن جي باري ۾ بحث ڪيو. پاڻ ﷺ مختلف دليل اُنهن جي سامهون پيش ڪيا. مثلاً پاڻ ﷺ فرمايو تہ مسيح ؑ خدا جو پٽ ڪيئن ٿي سگهي ٿو جڏهن تہ خدا هڪ زنده هستي آهي، ان کي ڪڏهن بہ موت اچڻ وارو نہ آهي. پر عيسيٰ ؑ تي موت ۽ فنا اچڻ واري آهي (وان عيسيٰ ياتي عليه الفناء) پاڻ ﷺ جي دليلن جو اُنهن وٽ ڪو بہ جواب نہ هو، پر هو اجايو بحث ڪندا رهيا. جڏهن پاڻ ﷺ ڏٺو تہ هو دليل سان مڃڻ وارا نہ آهن تہ پاڻ ﷺ انهن کي هڪ آخري چيلئنج ڏنو پاڻ ﷺ فرمايو تہ جيڪڏهن توهان پنهنجي پاڻ کي برحق سمجهو ٿا تہ مباهلہ (هڪ ٻئي تي لعنت جي بددعا) جي لاءِ تيار ٿي وڃو.

ٻئي ڏينهن صبح جو پاڻ ﷺ ٻاهر نڪتا. پاڻ ﷺ سان گڏ سندس ٻئي ڏوهٽا حسن ؓ ۽ حسين رضي الله هئا. انهن جي پويان حضرت فاطمه ؓ ۽ اُن جي پويان حضرت علي ؓ. نجراني عيسائي اِهو ڏسي ڪري رعب ۾ اچي ويا ۽ مشوري جي مهلت گهريائون. جدا مشوري ۾ اُنهن جي هڪ عالم چيو توهان ڄاڻو ٿا تہ الله بني اسماعيل ۾ پيغمبر موڪلڻ جو واعدو ڪيو آهي. ممڪن آهي تہ هي اُهوئي پيغمبر هجي. پوءِ هڪ پيغمبر سان مباهلہ يعني لعنت جي بد دعا ڪرڻ جو نتيجو اِهوئي نڪري سگهي ٿو تہ توهان جا ننڍا ۽ وڏا سڀ هلاڪ ٿي وڃن ۽ نسلن تائين ان جو اثر باقي رهي. خدا جو قسم آئون اهڙا چهرا ڏسي رهيو آهيان جيڪڏهن اُهي دعا ڪن تہ جبل بہ پنهنجي جاءِ تان هٽي وڃن. اُن ڪري بهتر اِهو آهي تہ اسان اُنهن سان صلح ڪري پنهنجن بستين ڏانهن هليا وڃون.

قُلْ يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ تَعَالَوْا اِلٰى كَلِمَةٍ سَوَآءٍۭ بَيْنَنَا وَ بَيْنَكُمْ اَلَّا نَعْبُدَ اِلَّا اللّٰهَ وَ لَا نُشْرِكَ
بِهٖ شَيْـًٔا وَّ لَا يَتَّخِذَ بَعْضُنَا بَعْضًا اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُوْلُوا اشْهَدُوْا بِاَنَّا
مُسْلِمُوْنَ ۝٦٤ يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تُحَآجُّوْنَ فِيْۤ اِبْرٰهِيْمَ وَ مَاۤ اُنْزِلَتِ التَّوْرٰىةُ وَ الْاِنْجِيْلُ
اِلَّا مِنْۢ بَعْدِهٖ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ۝٦٥ هٰۤاَنْتُمْ هٰۤؤُلَآءِ حَاجَجْتُمْ فِيْمَا لَكُمْ بِهٖ عِلْمٌ فَلِمَ
تُحَآجُّوْنَ فِيْمَا لَيْسَ لَكُمْ بِهٖ عِلْمٌ ؕ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ وَ اَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ۝٦٦ مَا كَانَ
اِبْرٰهِيْمُ يَهُوْدِيًّا وَّ لَا نَصْرَانِيًّا وَّ لٰكِنْ كَانَ حَنِيْفًا مُّسْلِمًا ؕ وَ مَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۝٦٧
اِنَّ اَوْلَى النَّاسِ بِاِبْرٰهِيْمَ لَلَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ وَ هٰذَا النَّبِيُّ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ؕ وَ اللّٰهُ وَلِيُّ
الْمُؤْمِنِيْنَ ۝٦٨ وَدَّتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ لَوْ يُضِلُّوْنَكُمْ ؕ وَ مَا يُضِلُّوْنَ اِلَّاۤ اَنْفُسَهُمْ وَ
مَا يَشْعُرُوْنَ ۝٦٩ يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَ اَنْتُمْ تَشْهَدُوْنَ ۝٧٠ يٰۤاَهْلَ
ع ٧ ١٥ الْكِتٰبِ لِمَ تَلْبِسُوْنَ الْحَقَّ بِالْبَاطِلِ وَتَكْتُمُوْنَ الْحَقَّ وَ اَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ۝٧١ ع

چئو اي اهل ڪتاب! اچو هڪ اهڙي ڳالهه ڏانهن جيڪا اسان جي ۽ توهان جي وچ ۾ هڪ جهڙي آهي ته اسان الله کان سواءِ ڪنهن جي به عبادت نه ڪريون ۽ الله سان گڏ ڪنهن کي به شريڪ نه ڪريون ۽ اسان مان ڪير به ڪنهن ٻئي کي الله کانسواءِ رب نه بڻائي. پوءِ جيڪڏهن هو اُن کان ڦري وڃن ته چئي ڇڏيو ته توهان شاهد رهجو اسان فرمانبردار آهيون. اي اهل ڪتاب! توهان ابراهيم جي باري ۾ ڇو ٿا جهڳڙو ڪريو. حالانڪ توريت ۽ انجيل ته اُن کان پوءِ نازل ٿيا آهن. پوءِ ڇا توهان کي ايترو به عقل نه آهي. توهان اُهي ماڻهو آهيو جن انهن ڳالهين بابت جهڳڙو ڪيو جن جو اوهان کي ڪجهه علم هو. هاڻي توهان انهن ڳالهين تي ڇوٿا جهڳڙو ڪيو، جنهن جو توهان کي علم ئي نه آهي ۽ الله ڄاڻي ٿو، توهان نٿا ڄاڻو. ابراهيم نه يهودي هو ۽ نه نصراني. بلڪ هڪ طرفو مسلمان هو ۽ هو شرڪ ڪرڻ وارن مان نه هو. ماڻهن ۾ ابراهيم سان وڌيڪ نسبت انهن جي آهي جن سندس پيروي ڪئي ۽ هيءُ پيغمبر ۽ جن هن تي ايمان آندو ۽ الله ايمان وارن جو ساٿي آهي. اهل ڪتاب منجهان هڪ گروهه چاهي ٿو ته ڪهڙي به طرح توهان کي گمراهه ڪري ڇڏي. حالانڪ هو نٿا گمراهه ڪن، پر پنهنجي پاڻ کي. پر هو اُن جو شعور نٿا ڪن. اي اهل ڪتاب! الله جي نشانين جو انڪار ڇو ٿا ڪريو، حالانڪ توهان پاڻ شاهد آهيو. اي اهل ڪتاب! توهان صحيح ۾ غلط کي ڇو ٿا ملايو ۽ حق کي لڪايو ٿا. حالانڪ توهان ڄاڻو ٿا. ٦٤-٧١

---

توحيد نه صرف پيغمبرن جي اصل تعليم آهي، بلڪ توريت ۽ انجيل جي موجوده غير اعتبار جوڳن نسخن ۾ به اها هڪ ثابت ٿيل حقيقت طور موجود آهي. ان تسليم ٿيل معيار تي جانچبو ته اسلام ئي ڪامل طور تي صحيح دين ثابت ٿئي ٿو نه وري يهوديت ۽ نصرانيت. توحيد جو مطلب آهي الله کي هڪ مڃيو وڃي. صرف اُن جي ئي عبادت ڪئي وڃي. اُن سان گڏ ڪنهن کي به شريڪ نه ڪيو وڃي. ڪنهن انسان کي اُهو مقام نه ڏنو وڃي جيڪو مالڪ ڪائنات جي لاءِ خاص آهي. اِها توحيد پنهنجي خالص صورت ۾ صرف قرآن ۽ اسلام ۾ محفوظ آهي. ٻين مذهبن نظرياتي طور تي توحيد جو اقرار

كندي عملي طور تي اُهو سڀ ڪجهه اختيار ڪري ورتو جيڪو توحيد جي سراسر خلاف هو. زبان مان خدا کي رب چوندي اُنهن پنهنجن نبين ۽ بزرگن کي عملي طور رب جو درجو ڏئي ڇڏيو.

مڪي جا مشرڪ پنهنجي مذهب کي ابراهيمي مذهب چوندا هئا. يهودي ۽ نصراني به پنهنجي مذهبي تاريخ کي حضرت ابراهيم عليه السلام سان گڏ جوڙيندا هئا. هر زماني جي ماڻهن اهڙيءَ طرح پنهنجن نبين ۽ بزرگن جي نالي کي پنهنجن بدعتن ۽ تحريفن جي لاءِ استعمال ڪيو آهي. زمانو گذرڻ ڪانپوءِ انهن جو ٺاهيل مذهب عوام جي ذهنن تي اهڙيءَ طرح ڇانئجي ويجي ٿو جو هو اُن کي ئي اصل مذهب سمجهڻ لڳندا آهن. انهن حالتن ۾ جڏهن سچي ۽ خالص دين جي دعوت ظاهر ٿيندي آهي ته ان جا مخالف اُن کي بي اعتبار ثابت ڪرڻ جي لاءِ سيني ڪان آسان طريقو اِهو سمجهندا آهن ته عوام ۾ اهو مشهور ڪري ڇڏين ته هو بزرگن جي دين جي خلاف آهي. اُهو شخص جيڪو ”اسلاف“ جي دين جو حقيقي نمائندو هوندو آهي، ان کي خود اسلاف جي نالي تي رد ڪيو ويندو آهي. اِهو ڇڻ ته حق جي مٿان باطل جو پردو وجهڻ آهي. يعني اِهڙيون ڳالهيون ڪرڻ جيڪي بي بنياد ۽ بي حقيقت هجن. پر عوام انهن جو تجزيو نه ڪري سگهڻ جي ڪري اُن کي درست سمجهي ۽ حق ڪان پري ٿي وڃي. ”مسلم حنيف“ اُهو آهي جيڪو توحيد جي رستي تي سڌو هلي ۽ غير حنيف اهو آهي جيڪو ساڄي ۽ کاٻي پيچرن تي مڙي وڃي. ڪو دين جي هڪ حصي کي کڻي ايترو وڌائي جو ان کي ئي سڀ ڪجهه بڻائي ڇڏي. ڪو وري دين جي ٻئي حصي کي کڻي اُن جي تشريح ۾ ايترا اضافا ڪري جو اها ئي سڄي حقيقت نظر اچڻ لڳي. ماڻهو دين جي حصن کي ڪل دين سمجهي وٺن ۽ توحيد جي سڌي شاهراه کي ڇڏي ڪري هيڏانهن هوڏانهن جي رستن تي هلڻ لڳن.

وَ قَالَتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ اٰمِنُوْا بِالَّذِيْٓ اُنْزِلَ عَلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَجْهَ النَّهَارِ وَ
اكْفُرُوْٓا اٰخِرَهٗ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿٧٢﴾ وَ لَا تُؤْمِنُوْٓا اِلَّا لِمَنْ تَبِعَ دِيْنَكُمْ ؕ قُلْ اِنَّ الْهُدٰى
هُدَى اللّٰهِ ۙ اَنْ يُّؤْتٰٓى اَحَدٌ مِّثْلَ مَآ اُوْتِيْتُمْ اَوْ يُحَآجُّوْكُمْ عِنْدَ رَبِّكُمْ ؕ قُلْ اِنَّ الْفَضْلَ
بِيَدِ اللّٰهِ ۚ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٧٣﴾ يَّخْتَصُّ بِرَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ
ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿٧٤﴾ وَ مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ مَنْ اِنْ تَاْمَنْهُ بِقِنْطَارٍ يُّؤَدِّهٖٓ اِلَيْكَ ۚ وَ مِنْهُمْ
مَّنْ اِنْ تَاْمَنْهُ بِدِيْنَارٍ لَّا يُؤَدِّهٖٓ اِلَيْكَ اِلَّا مَا دُمْتَ عَلَيْهِ قَآئِمًا ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْا لَيْسَ
عَلَيْنَا فِي الْاُمِّيّٖنَ سَبِيْلٌ ۚ وَ يَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ وَ هُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٥﴾ بَلٰى مَنْ اَوْفٰى
بِعَهْدِهٖ وَ اتَّقٰى فَاِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ ﴿٧٦﴾

۽ اهل ڪتاب جي هڪ گروهه چيو ته مسلمانن تي جيڪا شيءِ نازل ٿي آهي، ان تي صبح جو ايمان آڻيو ۽ شام جو اُن جو انڪار ڪري ڇڏيو، ٿي سگهي ٿو ته مسلمان به اُن تان ڦري وڃن ۽ يقين نه ڪريو، پر رڳو اُن جو جيڪو هلي توهان جي دين تي. چؤ هدايت اُهائي آهي جيڪا هدايت الله جي طرفان آهي ۽ اِها اُن جي ئي عطا آهي ته

کنهن کي اُهوئي ڪجھ ڏنو وڃي جيڪو اُن توهان کي ڏنو هو. يا هو توهان سان توهان جي رب وٽ حجت قائم ڪن. چؤ وڏائي الله جي هٿ ۾ آهي، هو جنهن کي چاهي ڏي تو ۽ الله وڏي وسعت وارو، علم وارو آهي. هو جنهن کي چاهي ٿو پنهنجي رحمت جي لاءِ خاص ڪري وٺي ٿو ۽ الله وڏي فضل وارو آهي. ۽ اهل ڪتاب ۾ ڪو اهڙو بہ آهي جيڪڏهن توهان اُن وٽ امانت جو ڍير رکو تہ هو توهان کي موٽائي ڏي ۽ انهن مان ڪو اهڙو آهي جيڪڏهن توهان ان وٽ هڪ دينار امانت رکو تہ هو توهان کي موٽائي نہ ڏي، پر جيستائين توهان ان جي سر تي بيٺا رهو. اِهو هِن ڪري جو هو چون ٿا تہ غير اهل ڪتاب جي باري ۾ اسان تي ڪو الزام نہ آهي ۽ هو الله تي ڪوڙ هڻن ٿا، حالانڪ هو ڄاڻن ٿا. بلڪ جيڪو شخص پنهنجي عهد کي پورو ڪري ۽ الله کان ڊڃي تہ بيشڪ الله اهڙن پرهيزگارن کي دوست رکي ٿو. ٧٢-٧٦

---

هڪ گروهہ جنهن ۾ نبي ۽ صالحين پيدا ٿيا هجن، جن جي وچ ۾ هڪ زماني تائين دين جو چرچو رهيو هجي، اهي اڪثر ان غلط فهمي ۾ پئجي ويندا آهن تہ اِهي ۽ حق بئي هڪ شيءِ آهن. اهي هدايت کي هڪ گروهي شيءِ سمجهي وٺن ٿا نہ وري هڪ اصول واري شيءِ. يهودين جو معاملو اِهوئي هو، انهن جو ذهن تاريخي روايتن جي اثر هيٺ اهو بڻجي ويو هو تہ جيڪو اسان جي گروهہ ۾ آهي اُهو هدايت تي آهي ۽ جيڪو اسان جي گروهہ کان ٻاهر آهي، اُهو هدايت کان خالي آهي. جيڪي ماڻهو حق کي اهڙيءَ طرح گروهي شيءِ سمجهي وٺن، هو اِهڙي سچائيءَ کي مڃڻ جي لاءِ تيار نہ ٿا ٿين، جيڪا انهن جي گروهہ کان ٻاهر ظاهر ٿي هجي. هو وساري ڇڏين ٿا تہ حق اُهو آهي جيڪو الله جي طرفان اچي نہ وري اُهو جيڪو کنهن شخص يا گروهہ جي طرفان ملي. هو جيتوڻيڪ الله جي دين جو نالو وٺندا آهن، پر اُنهن جو دين حقيقت ۾ گروهہ پرستي هوندو آهي نہ وري خدا پرستي. اُنهن جو اِهو مزاج اُنهن جي اکين تي اِهڙو پردو وجهي ڇڏيندو آهي جو پنهنجي گروهہ کان ٻاهر کنهن جو فضل ۽ ڪمال اُنهن کي ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي.

کليل دليل سامهون اچڻ کان پوءِ بہ هو اُن کي شڪ جي نظر سان ڏسندا آهن. هو پنهنجي گروهہ کان ٻاهر ظاهر ٿيڻ واري حق جي دعوت جا شديد مخالف بڻجي ويندا آهن. ۽ٿو عملي طريقو اختيار ڪري اهي اُن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. بي بنياد ڳالهيون مشهور ڪري ماڻهن کي اُن جي صداقت جي باري ۾ شڪ ۾ وجهندا آهن. الله جي شريعت جي سراسر خلاف اهي پنهنجي لاءِ اُن کي جائز ڪري وٺندا آهن تہ هو اخلاق جا ٻہ معيار ٺاهين، هڪڙو غيرن جي لاءِ، ٻيو پنهنجي گروهہ جي لاءِ.

کنهن کي پنهنجي دين جي نمائندگي جي لاءِ قبول ڪرڻ الله جي خاص رحمت آهي. ان جو فيصلو گروهي بنيادن تي نہ ٿيندو آهي. اِها سعادت اُن کي ملندي آهي جنهن کي الله پنهنجي علم مطابق پسند ڪري ۽ الله اُن شخص کي پسند ڪندو آهي جيڪو الله سان گڏ پنهنجي پاڻ کي اهڙيءَ طرح وابستہ ڪري وٺي جو هو اُن جو نگران بڻجي وڃي جنهن کان هو ڊڃي، هو اُن جو آقا بڻجي وڃي جنهن سان کيل اطاعت جي عهد کي هو ڪڏهن بہ نظر انداز نہ ڪري سگهي. الله جا مقبول ٻانها اُهي آهن جيڪي امانت کي پورو ڪرڻ وارا هجن ۽ عهد جا پابند هجن. اهڙن ماڻهن تي ئي الله جون رحمتون نازل ٿين ٿيون. ان جي ابتڙ جيڪي ماڻهو امانت جي ادائگي جي معاملي ۾ بي پرواهہ هجن ۽ عهد کي پوري ڪرڻ ۾ حساس نہ رهن، اُهي الله وٽ بي قيمت آهن. اِهڙا ماڻهو الله جي رحمتن ۽ مدد کان پري ڪيا ويندا آهن.

إِنَّ الَّذِيْنَ يَشْتَرُوْنَ بِعَهْدِ اللّٰهِ وَ اَيْمَانِهِمْ ثَمَنًا قَلِيْلًا اُولٰٓئِكَ لَا خَلَاقَ لَهُمْ فِي
الْاٰخِرَةِ وَلَا يُكَلِّمُهُمُ اللّٰهُ وَلَا يَنْظُرُ اِلَيْهِمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَلَا يُزَكِّيْهِمْ ۠ وَلَهُمْ عَذَابٌ
اَلِيْمٌ ﴿٧٧﴾ وَاِنَّ مِنْهُمْ لَفَرِيْقًا يَّلْوٗنَ اَلْسِنَتَهُمْ بِالْكِتٰبِ لِتَحْسَبُوْهُ مِنَ الْكِتٰبِ وَمَا هُوَ
مِنَ الْكِتٰبِ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ هُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ وَمَا هُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ
الْكَذِبَ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٨﴾ مَا كَانَ لِبَشَرٍ اَنْ يُّؤْتِيَهُ اللّٰهُ الْكِتٰبَ وَالْحُكْمَ وَالنُّبُوَّةَ ثُمَّ
يَقُوْلَ لِلنَّاسِ كُوْنُوْا عِبَادًا لِّيْ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلٰكِنْ كُوْنُوْا رَبّٰنِيّٖنَ بِمَا كُنْتُمْ تُعَلِّمُوْنَ
الْكِتٰبَ وَبِمَا كُنْتُمْ تَدْرُسُوْنَ ﴿٧٩﴾ وَلَا يَاْمُرَكُمْ اَنْ تَتَّخِذُوا الْمَلٰٓئِكَةَ وَالنَّبِيّٖنَ اَرْبَابًا ؕ
ع ١٦ اَيَاْمُرُكُمْ بِالْكُفْرِ بَعْدَ اِذْ اَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿٨٠﴾

جيڪي ماڻهو الله جي عهد ۽ پنهنجن قسمن کي ٿوري قيمت تي وڪڻندا آهن، انهن جي لاءِ آخرت ۾ ڪوبہ حصو نہ آهي. الله نہ انهن سان ڳالهائيندو نہ قيامت جي ڏينهن اُنهن ڏانهن ڏسندو، ۽ نہ انهن کي پاڪ ڪندو ۽ اُنهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي. ۽ اُنهن منجهان ڪجھ ماڻهو اهڙا بہ آهن جيڪي پنهنجن زبانن کي مروڙي ڪتاب پڙهن ٿا، تہ جيئن توهان سمجهو تہ اُهو ڪتاب مان آهي، حالانڪ اُهو ڪتاب مان نہ آهي ۽ هو چوندا آهن تہ اِهو الله جي طرفان آهي، حالانڪ اهو الله جي طرفان نہ آهي ۽ اُهي ڄاڻي واڻي الله تي ڪوڙ هڻن ٿا. ڪنهن انسان جو اِهو ڪم نہ آهي جو الله اُن کي ڪتاب ۽ حڪمت ۽ نبوت ڏي ۽ هو ماڻهن کي چوي تہ توهان الله کي ڇڏي منهنجا ٻانها ٿيو. بلڪ هو تہ چوندو تہ توهان الله وارا ٿيو، اُن ڪري جو توهان ٻين کي ڪتاب جي تعليم ڏيندا آهيو ۽ پاڻ بہ اُن کي پڙهندا آهيو. ۽ نہ هُو توهان کي اِهو حڪم ڏيندو تہ توهان فرشتن ۽ پيغمبرن کي رب بڻايو. ڇا هو توهان کي ڪفر جو حڪم ڏيندو، جڏهن تہ توهان اسلام آڻي چڪا آهيو. ٧٧-٨٠

---

هڪ شخص جڏهن ايمان آڻي ٿو تہ هو الله سان هِن ڳالھ جو عهد ڪري ٿو تہ هو اُن جي فرمانبرداري ڪندو ۽ ٻانهن جي وچ ۾ زندگي گذاريندي انهن سيني ذميدارين کي پورو ڪندو جيڪي الله جي شريعت جي طرفان اُن تي لاڳو ٿينديون آهن. اِها هڪ پابند زندگي آهي جنهن کي عهد واري زندگي چئي سگهجي ٿو. اُن زندگي تي قائم رهڻ جي لاءِ نفس جي آزادين کي ختم ڪرڻو پوي ٿو، بار بار پنهنجن فائدن ۽ مصلحتن جي قرباني ڏيڻي پوي ٿي. ان ڪري عهد جي زندگي کي اُهوئي شخص نڀائي سگهي ٿو جيڪو نفعي ۽ نقصان کان بي نياز ٿي اُن کي اختيار ڪري. جنهن شخص جو حال اِهو هجي تہ نفس تي چوٽ لڳي يا دنيا جو مفاد خطري ۾ نظر اچي تہ هو الله سان عهد کي نظر انداز ڪري ڇڏي ۽ پنهنجن فائدن ۽ مصلحتن ڏانهن جهڪي وڃي، اُن ڄڻ تہ آخرت وڪڻي دنيا خريد ڪئي. جڏهن آخرت ۽ دنيا مان ڪنهن هڪ کي وٺڻ جو سوال پيدا ٿيو تہ هُن دنيا کي ترجيح ڏني. جيڪو شخص آخرت کي ايتري بي قيمت شيءِ سمجهي، اُهو آخرت ۾ الله جي عنايتن جو حقدار ڪيئن ٿو ٿي سگهي.

جيڪي ماڻهو آخرت کي پنهنجي دنيا جو سودو بڻائين، اُهي دين يا آخرت جا منڪر نہ هوندا آهن، بلڪ دين ۽ آخرت جي پوري اقرار سان ائين ڪندا آهن. پوءِ اُن ٻن اُبتڙ روين کي هو ڪهڙيءَ طرح هڪ ٻئي جي مطابق بڻائيندا آهن. ان جو ذريعو تحريف آهي. يعني آسماني تعليمات کي هٿ ٺوڪيل

معنيٰ ڏيڻ. اهڙا ماڻهو پنهنجي دنيا پرستي واري روش کي خدا پرستي ۽ آخرت پسندي ثابت ڪرڻ جي لاءِ ديني تعليمات کي پنهنجي مرضي مطابق تبديل ڪري وٺندا آهن. ڪڏهن الله جي لفظن کي بدلائي ۽ ڪڏهن الله جي لفظن جي تشريح پنهنجي مطلب مطابق ڪندي. هو پنهنجي پاڻ کي بدلائڻ جي بدران الله جي ڪتاب کي بدلائي ڇڏيندا آهن ته جيئن جيڪا شيءِ الله جي ڪتاب ۾ نه آهي، اُن کي عين ڪتابِ الٰهي جو حصو ثابت ڪري وٺن. پنهنجي بي خدا زندگيءَ کي باخدا زندگي ثابت ڪري ڏيکارين. الله جي ويجهو اِهو بدترين ڏوهه آهي ته ماڻهو اهڙي ڳالهه الله ڏانهن منسوب ڪري جيڪا ڳالهه الله نه چئي هجي.

ڪنهن تعليم جي صداقت جي سادي ۽ يقيني سڃاڻپ اِها آهي ته هو الله جي ٻانهن کي الله سان ملائي ۽ ماڻهن جي خوف ۽ محبت جي جذبن کي بيدار ڪري انهن کي الله ڏانهن موڙي ڇڏي. اُن جي ابتڙ جيڪا تعليم شخصيت پرستي پيدا ڪري، جيڪا انسان جي نازڪ جذبن جي توجهه جو مرڪز ڪنهن غير خدا کي بڻائيندي هجي، اُن بابت سمجهڻ گهرجي ته اُها سراسر باطل آهي چاهي بظاهر پنهنجي مٿان اُن حق جو ليبل ڇو نه لڳائي رکيو هجي.

وَ اِذْ اَخَذَ اللّٰهُ مِيْثَاقَ النَّبِيّٖنَ لَمَآ اٰتَيْتُكُمْ مِّنْ كِتٰبٍ وَّ حِكْمَةٍ ثُمَّ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ
مُّصَدِّقٌ لِّمَا مَعَكُمْ لَتُؤْمِنُنَّ بِهٖ وَ لَتَنْصُرُنَّهٗ ؕ قَالَ ءَاَقْرَرْتُمْ وَ اَخَذْتُمْ عَلٰى ذٰلِكُمْ
اِصْرِيْ ؕ قَالُوْۤا اَقْرَرْنَا ؕ قَالَ فَاشْهَدُوْا وَ اَنَا مَعَكُمْ مِّنَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٨١﴾ فَمَنْ تَوَلّٰى بَعْدَ
ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٨٢﴾ اَفَغَيْرَ دِيْنِ اللّٰهِ يَبْغُوْنَ وَ لَهٗۤ اَسْلَمَ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَ
الْاَرْضِ طَوْعًا وَّ كَرْهًا وَّ اِلَيْهِ يُرْجَعُوْنَ ﴿٨٣﴾ قُلْ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَ مَاۤ اُنْزِلَ عَلَيْنَا وَ مَاۤ اُنْزِلَ
عَلٰۤى اِبْرٰهِيْمَ وَ اِسْمٰعِيْلَ وَ اِسْحٰقَ وَ يَعْقُوْبَ وَ الْاَسْبَاطِ وَ مَاۤ اُوْتِيَ مُوْسٰى وَ عِيْسٰى وَ
النَّبِيُّوْنَ مِنْ رَّبِّهِمْ ۪ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْهُمْ ۫ وَ نَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ﴿٨٤﴾ وَ مَنْ يَّبْتَغِ
غَيْرَ الْاِسْلَامِ دِيْنًا فَلَنْ يُّقْبَلَ مِنْهُ ۚ وَ هُوَ فِي الْاٰخِرَةِ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٨٥﴾ كَيْفَ يَهْدِي
اللّٰهُ قَوْمًا كَفَرُوْا بَعْدَ اِيْمَانِهِمْ وَ شَهِدُوْۤا اَنَّ الرَّسُوْلَ حَقٌّ وَّ جَآءَهُمُ الْبَيِّنٰتُ ؕ وَ اللّٰهُ
لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٨٦﴾ اُولٰٓئِكَ جَزَآؤُهُمْ اَنَّ عَلَيْهِمْ لَعْنَةَ اللّٰهِ وَ الْمَلٰٓئِكَةِ وَ
النَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ﴿٨٧﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ لَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَ لَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿٨٨﴾ اِلَّا
الَّذِيْنَ تَابُوْا مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ وَ اَصْلَحُوْا ۫ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٨٩﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا
بَعْدَ اِيْمَانِهِمْ ثُمَّ ازْدَادُوْا كُفْرًا لَّنْ تُقْبَلَ تَوْبَتُهُمْ ۚ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الضَّآلُّوْنَ ﴿٩٠﴾ اِنَّ
الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ مَاتُوْا وَ هُمْ كُفَّارٌ فَلَنْ يُّقْبَلَ مِنْ اَحَدِهِمْ مِّلْءُ الْاَرْضِ ذَهَبًا وَّ لَوِ
ع ۹ ۱۷ افْتَدٰى بِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ وَّ مَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿٩١﴾ ع

۽ جڏهن الله پيغمبرن کان عهدو ورتو تہ جڏهن بہ آئون توهان کي ڪتاب ۽ حڪمت ڏيان، پوءِ توهان وٽ ڪو پيغمبر اچي جيڪو تصديق ڪري اُنهن اڳڪٿين جي جيڪي توهان وٽ آهن تہ توهان اُن تي ايمان آڻيندؤ ۽ اُن جي مدد ڪندؤ. الله چيو ڇا توهان اقرار ڪيو ۽ اُن تي منهنجو عهد قبول ڪيو. اُنهن چيو اسان اقرار ڪيون ٿا. فرمايو هاڻي شاهد رهجو ۽ آئون بہ توهان سان گڏ شاهد آهيان. پوءِ جيڪو شخص ڦري وڃي تہ اِهڙا ئي ماڻهو نافرمان آهن. ڇا اِهي ماڻهو الله جي دين کان سواءِ ڪو ٻيو دين چاهين ٿا. جڏهن تہ اُن جي ئي حڪم ۾ آهي جيڪو ڪجهہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، خوشيءَ سان يا بنا خوشيءَ جي ۽ سڀ اُن ڏانهن موٽايا ويندا. چؤ اسان الله تي ايمان آندو ۽ اُن تي جيڪو اسان تي نازل ڪيو ويو ۽ جيڪو نازل ٿيو ابراهيم تي، اسماعيل تي، اسحٰق تي ۽ يعقوب تي ۽ اولاد يعقوب تي ۽ جيڪو ڏنو ويو موسيٰ ۽ عيسيٰ ۽ ٻين نبين کي انهن جي رب جي طرفان. اسان اُنهن جي وچ ۾ فرق نہ ٿا ڪريون ۽ اسان اُن ئي جا فرمانبردار آهيون. ۽ جيڪو شخص اسلام کانسواءِ ٻيو ڪو دين طلبيندو تہ اُهو اُن کان هرگز قبول نہ ڪيو ويندو ۽ اُهو آخرت ۾ نامرادن مان هوندو. الله ڪيئن اهڙن ماڻهن کي هدايت ڏيندو جيڪي ايمان آڻڻ کانپوءِ منڪر ٿي ويا. حالانڪ هو شاهدي ڏئي چڪا هئا تہ هي رسول برحق آهي ۽ اُنهن وٽ روشن نشانيون اچي چڪيون آهن ۽ الله ظالمن کي هدايت نہ ٿو ڏي. اهڙن ماڻهن جي سزا اِها آهي تہ اُنهن تي الله جي، اُن جي فرشتن جي ۽ سڀني انسانن جي لعنت هوندي. هو اُن ۾ هميشہ رهندا، نہ اُنهن جو عذاب هلڪو ڪيو ويندو ۽ نہ انهن کي مهلت ڏني ويندي. البتہ جيڪي ماڻهو اُن کانپوءِ توبهہ ڪري وٺن ۽ پنهنجي اصلاح ڪن تہ بيشڪ الله بخشڻ وارو، مهربان آهي. بيشڪ جيڪي ماڻهو ايمان آڻڻ کانپوءِ منڪر ٿي ويا ۽ پوءِ ڪفر ۾ وڌندا رهيا، اُنهن جي توبهہ هرگز قبول نہ ڪئي ويندي ۽ اِهي ئي ماڻهو گمراهہ آهن. بيشڪ جن ماڻهن انڪار ڪيو ۽ انڪار جي حالت ۾ مري ويا، جيڪڏهن هو زمين جيترو سون بہ بدلي ۾ ڏين تہ قبول نہ ڪيو ويندو. اُنهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي ۽ انهن جو ڪو بہ مددگار نہ هوندو. ٨١-٩١

---

الله جو ملي وڃڻ هڪ ابدي حقيقت جو ملي وڃڻ آهي. اِهو سڄي ڪائنات جو همسفر بڻجڻ آهي. جيڪي ماڻهو اهڙيءَ طرح الله کي پائي وٺن، اهي هر قسم جي تعصب کان مٿانهان ٿي ويندا آهن. هو حق کي هر حال ۾ سڃاڻي وٺندا آهن، چاهي اُن جو پيغام ”اسرائيلي پيغمبر“ جي زبان مان بلند ٿئي يا ”اسماعيلي پيغمبر“ جي زبان مان. پر جيڪي ماڻهو گروهہ پرستي جي سطح تي زندگي گذاري رهيا هجن، حق انهن کي حق جي صورت ۾ صرف اُن وقت نظر ايندو آهي، جڏهن اُهو انهن جي پنهنجي گروهہ جي ڪنهن فرد جي طرفان اچي. جيڪڏهن الله انهن جي گروهہ کان ٻاهر ڪنهن شخص کي پنهنجو پيغام پهچائڻ جي لاءِ مقرر ڪري تہ اِهڙو پيغام اُنهن جي ذهن جو جز نہ ٿو بڻجي. ايتري قدر جو ان وقت بہ نہ جڏهن تہ اُنهن جي دل اُن جي حق ۽ صداقت هئڻ جي شاهدي ڏئي رهي هجي. اهڙا ماڻهو چاهي پاڻ کي مڃڻ وارن ۾ شمار ڪن، پر الله وٽ انهن جو نالو نہ مڃڻ وارن ۾ لکيو ويندو آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن حق کي پنهنجي گروهہ جي نسبت سان سڃاتو، نہ وري الله جي نسبت سان. اِهڙي حق جو اقرار نہ ڪرڻ جنهن جي حق هئڻ تي ماڻهوءَ جي دل شاهدي ڏني هجي، الله جي ويجهو بدترين ڏوهہ آهي. اهڙا ماڻهو آخرت ۾ ايترا تہ ذليل ٿيندا جو الله ۽ ان جي سڄي مخلوق اُنهن تي لعنت ڪندي.

پاڻ کان ٻاهر ظاهر ٿيڻ واري حق جو اعتراف نہ ڪرڻ بظاهر پنهنجي ايمان کي بچائڻ آهي. پر حقيقت ۾ اِهو پنهنجي ايمان کي برباد ڪرڻ آهي. الله جو مؤمن ٻانهو الله جي مسلسل فيض تي جيئندو آهي. پوءِ جيڪو شخص پنهنجي پاڻ کي خود پرستي ۽ گروهہ پرستي جي خول ۾ بند ڪري ڇڏي تہ اُن جي اندر الله جو فيض ڪهڙي رستي کان داخل ٿيندو ۽ الله جي فيض کان محرومي کان پوءِ اُها ڪهڙي شيءِ هوندي جيڪا اُن جي ايمان جي پرورش ڪري.

الجزء الرابع ٤

لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ ؕ۬ وَ مَا تُنْفِقُوْا مِنْ شَیْءٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِیْمٌ ﴿۹۲﴾
كُلُّ الطَّعَامِ كَانَ حِلًّا لِّبَنِیْۤ اِسْرَآءِیْلَ اِلَّا مَا حَرَّمَ اِسْرَآءِیْلُ عَلٰی نَفْسِهٖ مِنْ قَبْلِ اَنْ
تُنَزَّلَ التَّوْرٰىةُ ؕ قُلْ فَاْتُوْا بِالتَّوْرٰىةِ فَاتْلُوْهَاۤ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِیْنَ ﴿۹۳﴾ فَمَنِ افْتَرٰی عَلَی
اللّٰهِ الْكَذِبَ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ فَاُولٰٓىِٕكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۹۴﴾ قُلْ صَدَقَ اللّٰهُ ۫ فَاتَّبِعُوْا مِلَّةَ
اِبْرٰهِیْمَ حَنِیْفًا ؕ وَ مَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِیْنَ ﴿۹۵﴾ اِنَّ اَوَّلَ بَیْتٍ وُّضِعَ لِلنَّاسِ لَلَّذِیْ بِبَكَّةَ
مُبٰرَكًا وَّ هُدًی لِّلْعٰلَمِیْنَ ﴿۹۶﴾ فِیْهِ اٰیٰتٌۢ بَیِّنٰتٌ مَّقَامُ اِبْرٰهِیْمَ ۚ۬ وَ مَنْ دَخَلَهٗ كَانَ اٰمِنًا ؕ وَ
لِلّٰهِ عَلَی النَّاسِ حِجُّ الْبَیْتِ مَنِ اسْتَطَاعَ اِلَیْهِ سَبِیْلًا ؕ وَ مَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِیٌّ عَنِ
الْعٰلَمِیْنَ ﴿۹۷﴾ قُلْ یٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تَكْفُرُوْنَ بِاٰیٰتِ اللّٰهِ ۖۗ وَ اللّٰهُ شَهِیْدٌ عَلٰی مَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۹۸﴾
قُلْ یٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِیْلِ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ تَبْغُوْنَهَا عِوَجًا وَّ اَنْتُمْ
شُهَدَآءُ ؕ وَ مَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۹۹﴾

وقف جبريل عليه السلام

توهان هرگز نيڪيءَ جي مرتبي کي نہ ٿا پهچي سگهو، جيستائين توهان اُنهن شين مان خرچ نہ ڪريو جن کي توهان محبوب رکو ٿا. ۽ جيڪا بہ شيءِ توهان خرچ ڪندؤ اُن کان الله باخبر آهي. ڪاڌي جون سڀ شيون بني اسرائيل جي لاءِ حلال هيون، سواءِ اُنهن جي جيڪي اسرائيل (يعقوب) پنهنجي پاڻ تي حرام ڪري ورتيون هيون توريت نازل ٿيڻ کان پهرين. چؤ تہ توريت آڻيو ۽ اُن کي پڙهو، جيڪڏهن توهان سچا آهيو. ان ڪانپوءِ بہ جيڪي ماڻهو الله تي ڪوڙ گهڙين اُهي ئي ظالم آهن. چؤ الله سچ چيو. هاڻي ابراهيم جي دين جي پيروي ڪريو جيڪو حنيف هو ۽ هو شرڪ ڪرڻ وارن مان نہ هو. بيشڪ پهريون گهر جيڪو ماڻهن جي لاءِ بڻايو ويو هو، اُهوئي آهي جيڪو مڪي ۾ آهي، برڪت وارو ۽ سڄي جهان جي لاءِ هدايت جو مرڪز. ان ۾ پڌريون نشانيون آهن، مقام ابرهيم آهي، جيڪو اُن ۾ داخل ٿي ويجي اِهو امن وارو ٿي ويو ۽ ماڻهن تي الله جو اِهو حق آهي تہ جيڪو ان گهر تائين پهچڻ جي طاقت رکندو هجي تہ هو اُن جو حج ڪري ۽ جيڪو منڪر ٿيو تہ الله سڄي دنيا وارن کان بي نياز آهي. چؤ اي اهل ڪتاب! توهان چو الله جي نشانين جو انڪار ڪندا آهيو. حالانڪ الله ڏسي رهيو آهي جيڪي ڪجھ توهان ڪريو ٿا. چؤ اي اهل ڪتاب! توهان ايمان آڻڻ وارن کي الله جي راھ کان چو روڪيندا آهيو. توهان اُن ۾ عيب ڳوليندا آهيو. حالانڪ توهان خود گواھ آهيو ۽ الله توهان جي ڪمن کان بي خبر نہ آهي. ٩٢-٩٩

---

يهودين جي عالمن جيڪو فقه پاڻ ٺاهي رکيو هو، ان ۾ اُٺ ۽ سيهڙ جو گوشت کائڻ حرام هو، جڏهن تہ اسلام ۾ اهو جائز هو. هاڻي يهودي اِهو چوڻ لڳا تہ اسلام جيڪڏهن خدا جو نازل ڪيل دين آهي تہ ان ۾ بہ حرام ۽ حلال جا مسئلا اُهي ساڳيا چو نہ آهن جيڪي اڳين زماني ۾ نازل ٿيل خدا جي دين ۾ هئا. اهڙيءَ طرح هو چوندا هئا تہ بيت المقدس اڄ تائين سيني نبين جي عبادت جو قبلو رهيو آهي. پوءِ ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ خدا اِهڙو دين نازل ڪري جنهن ۾ اُن کي ڇڏي ڪعبي کي قبلو قرار ڏنو ويو هجي.

حق جي دعوت جڏهن پنهنجي خالص شڪل ۾ ظاهر ٿيندي آهي ته ان جي نشانيءَ تي اُهي ماڻهو اچي ويندا آهن جيڪي خدا جي دين جي نالي تي پنهنجو هڪ هٿرادو دين عوام ۾ رائج ڪيو ويٺا هجن. اهڙا ماڻهو اُن جا مخالف ٿي ويندا آهن ۽ ماڻهن کي حق جي دعوت کان ڦيرڻ لاءِ طرح طرح جا اعتراض ڪندا آهن. انهن جي هٿرادو دين ۾ دين جي بنيادي ڳالهين تي زور باقي نه ٿو رهي. اُن جي بجاءِ دين جي جزن ۾ خاميون ڪڍڻ وسيلي ديندايءَ جو هڪ ظاهري ڍانچو ٺهجي ويندو آهي. ماڻهوءَ جي حقيقي زندگي کهڙي به هجي، نيڪي ۽ تقويٰ جو ڪمال اِهو سمجهيو ويندو آهي ته هو اُن ظاهري ڍانچي جو تمام گهڻو اهتمام ڪري. هو ”سيهڙ“ کي اهو چئي ڪري نه کائي ته اسان جا بزرگ ان کان پرهيز ڪندا هئا. ٻئي پاسي ڪيترين ئي حرام شين کي پنهنجي لاءِ جائز سمجهندو هجي. هو ”بيت المقدس“ ڏانهن رخ ڪرڻ ۾ قطب نما جي سوئي وانگر سڌو هجڻ ضروري سمجهي، پر صبح ۽ شام جي ڪمن کي خدا جي مرضي مطابق ڪرڻ ۾ ان کي ڪا به دلچسپي نه هجي. پر نيڪي جو درجو ڪنهن کي قربانيءَ سان ملندو آهي، نه وري رسمي ظاهري عملن سان. خدا جو نيڪ ٻانهو اُهو آهي جيڪو پنهنجي محبت جو نذرانو پنهنجي رب کي پيش ڪري، جنهن جي لاءِ الله جي مقابلي ۾ دنيا جي ڪا به شيءِ محبوب نه رهي. حق کي مڃڻ جي لاءِ جڏهن عزت ۽ وقار جي قيمت ڏيڻي هجي، الله جي رستي ۾ اڳيان وڌڻ جي لاءِ جڏهن مال خرچ ڪرڻو هجي ۽ پنهنجن ٻچن جي مستقبل کي خطري ۾ وجهڻو پوي، ان وقت هو الله جي لاءِ سڀ ڪجهه برداشت ڪري وٺي. اهڙن نازڪ موقعن تي جيڪو شخص پنهنجون محبوب شيون ڏئي الله کي وٺي ته اهوئي نيڪ ۽ الله پرست بڻيو.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِنۡ تُطِيۡعُوۡا فَرِيۡقًا مِّنَ الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡكِتٰبَ يَرُدُّوۡكُمۡ بَعۡدَ
اِيۡمَانِكُمۡ كٰفِرِيۡنَ ۝١٠٠ وَكَيۡفَ تَكۡفُرُوۡنَ وَاَنۡتُمۡ تُتۡلٰى عَلَيۡكُمۡ اٰيٰتُ اللّٰهِ وَفِيۡكُمۡ رَسُوۡلُهٗ ؕ
وَمَنۡ يَّعۡتَصِمۡ بِاللّٰهِ فَقَدۡ هُدِىَ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ ۝١٠١ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ
حَقَّ تُقٰتِهٖ وَلَا تَمُوۡتُنَّ اِلَّا وَاَنۡتُمۡ مُّسۡلِمُوۡنَ ۝١٠٢ وَاعۡتَصِمُوۡا بِحَبۡلِ اللّٰهِ جَمِيۡعًا وَّلَا
تَفَرَّقُوۡا ۖ وَاذۡكُرُوۡا نِعۡمَتَ اللّٰهِ عَلَيۡكُمۡ اِذۡ كُنۡتُمۡ اَعۡدَآءً فَاَلَّفَ بَيۡنَ قُلُوۡبِكُمۡ
فَاَصۡبَحۡتُمۡ بِنِعۡمَتِهٖۤ اِخۡوَانًا ۚ وَكُنۡتُمۡ عَلٰى شَفَا حُفۡرَةٍ مِّنَ النَّارِ فَاَنۡقَذَكُمۡ مِّنۡهَا ؕ
كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمۡ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمۡ تَهۡتَدُوۡنَ ۝١٠٣

اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن توهان اهل ڪتاب مان هڪ گروهه جي ڳالهه مڃي وٺندؤ ته هو توهان کي ايمان ڪانپوءِ وري موٽائي منڪر بڻائي ڇڏيندا. ۽ توهان ڪهڙيءَ طرح انڪار ڪندؤ، جڏهن ته توهان کي الله جون آيتون ٻڌايون پيون وڃن ۽ توهان جي وچ ۾ سندس رسول موجود آهي ۽ جيڪو شخص الله کي مضبوطيءَ سان جهليندو ته اهو پهچي ويو سڌي راهه تي. اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو جيئن اُن کان ڊڄڻ جو حق آهي ۽ توهان تي موت نه اچي، پر اُن حال ۾ ته توهان مسلم هجو. ۽ سڀ ملي الله جي رسي کي مضبوطيءَ سان پڪڙي وٺو ۽ تفرقو نه وجهو ۽ الله جو اِهو انعام پاڻ تي ياد رکو ته توهان هڪٻئي جا دشمن هئا. پوءِ هن توهان جي دلين ۾ محبت وڌي. پوءِ

توهان اُن جي فضل سان ڀائر ٿي پيا ۽ توهان باهه جي کڏ جي ڪناري بيٺل هئا ته الله توهان کي ان کان بچائي ورتو. اهڙيءَ طرح الله توهان جي لاءِ پنهنجون نشانيون بيان ڪري ٿو، ته جيئن توهان کي راهه ملي. ١٠٠-١٠٣

---

دنيا آزمائش جي جاءِ آهي. هتي هر وقت اِهو خطرو آهي ته شيطان ماڻهوءَ جو ايمان ڪسي وٺي ۽ فرشتا ان جو روح ان حال ۾ قبض ڪن جو هو ايمان کان خالي هجي. ان ڪري ضروري آهي ته ماڻهو هر وقت هوشيار رهي، هو پنهنجو نگران بڻجي وڃي. ايمان کان پري هٽڻ جي هڪ صورت اِها به آهي ته جڏهن دين جي جزن ۾ تبديلي ڪري اهم کي غير اهم ۽ غير اهم کي اهم بڻايو وڃي. دين جي اصل رسي تقويٰ آهي. يعني الله کان ڊڄڻ ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين پنهنجي هر معاملي ۾ اِهڙو رويو اختيار ڪرڻ، جيڪو الله جي سامهون پيش پوڻ جي تصور سان نهي ٿو، اِها ئي صراط مستقيم آهي. اُن کان ڦرڻ اِهو آهي ته ”تقويٰ“ جي بجاءِ ڪنهن ٻي شيءِ کي دين جو بنياد سمجهي وٺجي ۽ اُن تي اهڙيءَ طرح زور ڏنو وڃي جهڙي طرح خوف خدا ۽ فڪر آخرت تي ڏنو ويندو آهي. جڏهن به دين ۾ اهڙي قسم جي تبديلي ڪئي ويندي آهي ته اُن جو لازمي نتيجو اهو نڪرندو آهي ته قوم ۾ اختلاف پيدا ٿي ويندو آهي. پوءِ ڪو هڪ غير اهم شيءِ تي زور ڏيندو آهي ته ڪو وري ٻي غير اهم شيءِ تي ۽ اهڙيءَ طرح قوم فرقن ۾ ورهائجي ويندي آهي. اول الذڪر سان هڪ الله توجهه جو مرڪز بڻجندو آهي ۽ ثاني الذڪر سان مختلف مسئلا توجهه جو مرڪز بڻجي ويندا آهن. جڏهن دين ۾ سڄو زور تقويٰ يعني الله کان ڊڄڻ تي ڏنو وڃي ته اُن سان باهمي اتفاق وجود ۾ ايندو آهي ۽ جڏهن ان کان سواءِ ٻين شين تي زور ڏنو وڃي ته ان سان باهمي اختلاف جي اُها برائي پيدا ٿيندي آهي جيڪا ماڻهن کي جهنم جي ڪناري تائين پهچائي ڇڏيندي آهي. ڪنهن گروهه جي اندر اختلاف دنيا ۾ به عذاب آهي ۽ آخرت ۾ به عذاب.

اسلام کان اڳ مديني ۾ ٻه قبيلا هئا، اوس ۽ خزرج. اِهي ٻئي عرب قبيلا هئا، پر هو پاڻ ۾ وڙهندا رهندا هئا. اُنهن لڙائين اُنهن کي ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. جڏهن هو اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيا ته اُنهن جون لڙائيون ختم ٿي ويون ۽ هو ڀائرن وانگر ملي رهڻ لڳا.

اُن جي وجهه اِها آهي جو غير اسلام ۾ هر ماڻهو پنهنجو وفادار هوندو آهي ۽ اسلام ۾ صرف هڪ الله جو. جنهن سماج ۾ ماڻهو پنهنجا يا پنهنجي گروهه جا وفادار هجن، اُتي قدرتي طور گهڻيون ئي وفاداريون وجود ۾ ايندڙيون آهن ۽ گهڻين وفادارين جي عملي نتيجي جو نالو ئي اختلاف ۽ ٽڪراءُ آهي. اُن جي ابتڙ جنهن معاشري ۾ سڀ ماڻهو هڪ خدا جا وفادار بڻجي وڃن اُتي سڀني جو رخ هڪ مرڪز ڏانهن ٿي ويندو آهي، سڀئي هڪ رسيءَ سان ٻڌجي ويندا آهن. اهڙيءَ طرح پاڻ ۾ اختلاف ۽ ٽڪراءُ جا سبب خود به خود ختم ٿي ويندا آهن.

وَلۡتَكُنۡ مِّنۡكُمۡ اُمَّةٌ يَّدۡعُوۡنَ اِلَى الۡخَيۡرِ وَيَاۡمُرُوۡنَ بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَيَنۡهَوۡنَ عَنِ الۡمُنۡكَرِ ؕ
وَاُولٰٓـئِكَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ﴿۱۰۴﴾ وَلَا تَكُوۡنُوۡا كَالَّذِيۡنَ تَفَرَّقُوۡا وَاخۡتَلَفُوۡا مِنۡۢ بَعۡدِ مَا
جَآءَهُمُ الۡبَيِّنٰتُ ؕ وَاُولٰٓـئِكَ لَهُمۡ عَذَابٌ عَظِيۡمٌ ﴿۱۰۵﴾ يَّوۡمَ تَبۡيَضُّ وُجُوۡهٌ وَّتَسۡوَدُّ وُجُوۡهٌ ۚ
فَاَمَّا الَّذِيۡنَ اسۡوَدَّتۡ وُجُوۡهُهُمۡ ۟ اَكَفَرۡتُمۡ بَعۡدَ اِيۡمَانِكُمۡ فَذُوۡقُوا الۡعَذَابَ بِمَا كُنۡتُمۡ

تَكْفُرُوْنَ ﴿١٠٦﴾ وَاَمَّا الَّذِيْنَ ابْيَضَّتْ وُجُوْهُهُمْ فَفِيْ رَحْمَةِ اللّٰهِ ۭ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿١٠٧﴾ تِلْكَ
اٰيٰتُ اللّٰهِ نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ۭ وَمَا اللّٰهُ يُرِيْدُ ظُلْمًا لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٨﴾ وَلِلّٰهِ مَا فِي
ع السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿١٠٩﴾

۽ ضروري آهي تہ توهان مان هڪ جماعت اهڙي هجي، جيڪا نيڪي ڏانهن سڏي، ڀلائي جو حڪم ڏي ۽ برائي کان روڪي ۽ اهڙا ئي ماڻهو ڪامياب ٿيندا. ۽ انهن ماڻهن وانگر نہ ٿي وڃجو جيڪي فرقن ۾ ورهائجي ويا ۽ پاڻ ۾ اختلاف ڪيو، اُن ڪان پوءِ جو انهن وٽ واضح حڪم اچي چڪا هئا. ۽ انهن جي لاءِ وڏو عذاب آهي. جنهن ڏينهن ڪجھ چهرا روشن هوندا ۽ ڪجھ چهرا ڪارا هوندا، پوءِ جن جا چهرا ڪارا هوندا اُنهن کي چيو ويندو ڇا توهان پنهنجي ايمان کان پوءِ ڪافر ٿي ويا، پوءِ هاڻي چکو عذاب پنهنجي ڪفر جي ڪري. ۽ جن جا چهرا روشن هوندا، اهي الله جي رحمت ۾ هوندا، هو اُن ۾ هميشہ رهندا. هي الله جون آيتون آهن، جيڪي اسان توکي ٺيڪ ٺيڪ ٻڌائي رهيا آهيون ۽ الله جهان وارن تي ظلم ڪرڻ نہ ٿو چاهي ۽ جيڪو ڪجھ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو ڪجھ زمين ۾ آهي، سڀ الله جي لاءِ آهي ۽ سڀ معاملا الله ڏانهن ئي موٽايا ويندا. ١٠٤-١٠٩

---

”توهان مان هڪڙي جماعت اهڙي هجي جيڪا خير جي طرف دعوت ڏيڻ جو ڪم ڪري ۽ نيڪين جو حڪم ڏي ۽ برائين کان روڪي“. اِهو ارشاد هڪ ئي وقت ۾ ٻہ پيغام ڏئي رهيو آهي، هڪ جو تعلق خاص (حڪمران) سان آهي ۽ ٻئي جو تعلق عوام سان آهي. امت جي خاص (حڪمران) جي اندر اِهو روح هئڻ کپي تہ هو امت جي اندر برائيءَ کي برداشت نہ ڪن، اهي نيڪي ۽ ڀلائي جي لاءِ تڙپڻ وارا هجن. انهن جو اِهو اصلاح وارو جذبو اُنهن کي مجبور ڪندو تہ هو ماڻهن جي احوال کان لا تعلق نہ رهن. اهي پنهنجن ڀائرن کي نيڪيءَ جي راھ تي هلڻ جي لاءِ همٿائن ۽ اُنهن کي برائي کان پري رهڻ جي نصيحت ڪن.

اهڙي طرح اُن عمل جي ڪاميابي جي لاءِ امت ۾ عوام جي اندر اطاعت جو جذبو هئڻ بہ لازمي آهي. عوام کي کپي تہ هو پنهنجي خواص جو احترام ڪن. هو اُنهن جي چوڻ تي هلن ۽ جتي هو روڪين اتي رڪجي وڃن. هو پنهنجي پاڻ کي دين جي ذميدارن جي حوالي ڪري ڇڏين. جنهن مسلم جماعت ۾ خواص ۽ عوام جو اِهو حال هجي اُهائي فلاح پائڻ واري جماعت آهي. ٻڌڻ ۽ مڃڻ جي اُن فضا ۾ ئي ڪنهن سماج جي اندر اُهي صفتون جنم وٺنديون آهن، جيڪي اُن کي دنيا ۾ طاقتور ۽ آخرت ۾ نجات وارو بڻائينديون آهن.

خواص (اڳواڻ) جي اندر اُن روح جي زندھ هئڻ جو اِهو فائدو آهي تہ اُنهن جي سڄي توجھ خير ڏانهن، ٻين لفظن ۾ دين جي بنياد تي لڳل هوندي آهي. بنياد کان هٽيل، جزوي ۽ معمولي مسئلن ۾ کوجنا ڪرڻ ۽ خاميون ڪڍڻ جو اُنهن وٽ وقت ئي نہ هوندو آهي. جيڪي ماڻهو الله جي عظمت جي آواز کي بلند ڪرڻ وارا ٻڌجن ۽ آخرت کان ڊيڄاريندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ هجن، اُنهن وٽ ايترو وقت ئي نہ هوندو آهي جو ظاهري مسئلن جي جزن ۾ پنهنجي مهارت ڏيکارين. اُن سان گڏ امر بالمعروف ۽ نهي عَنِ المنڪر جو ڪم اُنهن کي حقيقي مسئلن جي اصلاح ۾ لڳائي ڇڏي ٿو. فرضي ۽ قياسي مسئلن ۾ ذهني ورزش ڪرڻ اُنهن کي اهڙيءَ طرح بي معنيٰ ۽ بي فائدي لڳندي آهي، جهڙي طرح هڪ هاريءَ کي شطرنج جي راند.

عوام کي ان نظام جي اطاعت تي راضي رهڻ جو اهو فائدو ملي ٿو تہ اها فرقن ۾ ورهائجڻ کان

بچي ويندي آهي. هڪ حڪم تي هلڻ جي نتيجي ۾ سڀ ملي ڪري هڪ ٿي ويندا آهن. اتحاد ۽ اتفاق انهن جي عام صفت بڻجي وڃي ٿي ۽ بيشڪ اتحاد ۽ اتفاق کان وڏي طاقت هن دنيا ۾ ڪا به نه آهي.

كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَتُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ ؕ وَلَوْ اٰمَنَ اَهْلُ الْكِتٰبِ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ؕ مِنْهُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ وَاَكْثَرُهُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿١١٠﴾ لَنْ يَّضُرُّوْكُمْ اِلَّآ اَذًى ؕ وَاِنْ يُّقَاتِلُوْكُمْ يُوَلُّوْكُمُ الْاَدْبَارَ ۟ ثُمَّ لَا يُنْصَرُوْنَ ﴿١١١﴾ ضُرِبَتْ عَلَيْهِمُ الذِّلَّةُ اَيْنَ مَا ثُقِفُوْٓا اِلَّا بِحَبْلٍ مِّنَ اللّٰهِ وَحَبْلٍ مِّنَ النَّاسِ وَبَآءُوْ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَضُرِبَتْ عَلَيْهِمُ الْمَسْكَنَةُ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَيَقْتُلُوْنَ الْاَنْۢبِيَآءَ بِغَيْرِ حَقٍّ ؕ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّكَانُوْا يَعْتَدُوْنَ ﴿١١٢﴾

توهان بهترين جماعت آهيو جنهن کي ماڻهن جي لاءِ ڪڍيو ويو آهي. توهان ڀلائيءَ جو حڪم ڏيو ٿا ۽ برائيءَ کان روڪيو ٿا ۽ الله تي ايمان رکو ٿا ۽ جيڪڏهن اهل ڪتاب به ايمان آڻين ها ته انهن جي لاءِ بهتر هو. اُنهن مان ڪجھ ايمان وارا آهن ۽ اُنهن مان اڪثر نافرمان آهن. هو توهان جو ڪجھ به بگاڙي نه ٿا سگهن سواءِ ڪجھ تڪليف جي ۽ جيڪڏهن هو توهان سان مقابلو ڪندا ته توهان کي پٺي ڏئي ڀڄندا. پوءِ انهن کي مدد به نه پهچندي. ۽ انهن تي مسلط ڪئي وئي آهي ذلت چاهي هو جتي به هجن. ڪين ڪٿي الله جي مهابي، ڪٿي انسانن جي هٿان پناه ملي آهي ۽ اُهي الله جي غضب هيٺ اچي چڪا آهن ۽ انهن تي مسلط ڪئي وئي محتاجي، اِهو اُن ڪري جو هو الله جي نشانين جو انڪار ڪندا رهيا ۽ اُنهن پيغمبرن کي ناحق قتل ڪيو. اِهو اُن ڪري ٿيو جو اُنهن نافرماني ڪئي ۽ هو حد کان لنگهي وڃڻ وارا هئا. ١١٠-١١٢

---

يهودي الله جي دين جو بار ڪٽنڊڙ بڻايا ويا هئا. پر هو اُن بار جي ذميداري نڀائي نه سگهيا ۽ اُن کي محفوظ رکڻ ۾ به ناڪام رهيا. اُن کان پوءِ الله حضرت محمد ﷺ جي ذريعي پنهنجو دين صحيح صورت ۾ موڪليو. هاڻي امت مسلمه ماڻهن جي وچ ۾ خدا جي رهنمائي لاءِ بيٺل آهي. ان منصب جو تقاضو آهي ته اِها امت الله جي سچي مؤمن بڻجي. هو دنيا کي ڀلائي جي نصيحت ڪري ۽ انهن شين کان با خبر ڪري جيڪي الله وٽ برائي جي حيثيت رکن ٿيون. اِهو ڪم چاڪاڻ ته الله جو ڪم آهي، ان ڪري الله اُن سان گڏ پنهنجو حفاظت جو نظام به شامل ڪري ڇڏيو آهي. جيڪي ماڻهو خدا جي ڪم لاءِ اٿندا ته اُنهن جي لاءِ خدا جي ضمانت آهي. اُنهن کي اُنهن جا مخالف معمولي ايذاء ڪانسواءِ ڪو حقيقي نقصان نه پهچائي سگهندا. اهڙيءَ طرح يهودين جي انجام جي صورت ۾ اُن جو دائمي مثال به قائم ڪيو ويو آهي ته اُن حق جي منصب تي سرفراز ٿيڻ کان پوءِ جيڪي ماڻهو بدعهدي ڪندا ته اُنهن جي سزا هِن دنيا ۾ اهڙيءَ طرح شروع ٿي ويندي آهي جو اُنهن کي ذاتي عزت ۽ بلند مرتبي کان محروم ڪيو ويندو آهي. خدا جي رحمتن کان محروميءَ جي ڪري اُنهن جي بي حسي ايتري ته وڌي ويندي آهي جو هو انهن ماڻهن جا جاني دشمن ٿي ويندا آهن، جيڪي اُنهن جي ڪوتاهين ڏانهن توجھ ڏيارڻ جي لاءِ اٿندا آهن.

”يهودين تي ذلت مسلط ڪئي وئي، پر ايئن جو اُنهن کي الله جي يا ماڻهن جي پناه حاصل هجي“. اِها الله جي خاص سنت آهي جنهن جو تعلق ان قوم سان آهي جنهن کي الله پنهنجي دين جو

نمائندو بڻايو هجي. دين جي سچي نمائندگي اِهڙي قوم جي لاءِ غلبي جي ضمانت هوندي آهي ۽ دين جي سچي نمائندگي تان هٽڻ اُن کي موجوده دنيا ۾ مغلوب ڪرڻ جو سبب بڻجي ويندو آهي. اِهڙي قوم جيڪڏهن الله جي دين جي نمائندگي ڪان هٽي وڃي ته اُها موجوده دنيا ۾ ڪڏهن به ذاتي غلبو حاصل ڪري نه سگهندي. ڪنهن حد تائين جيڪڏهن ان کي ڪو اختيار ملي وڃي ته اُهو سندس نه پر ڪنهن ٻئي جي حِمايت جي زور تي هوندو يا ته اُن کي ڪنهن خدائي حڪومت جي طرفان امان ڏنو ويو هجي يا ان ڪري جو ڪنهن غير قوم جي حڪومت اُن کي پنهنجي حمايت ۽ سرپرستيءَ ۾ وٺي ڇڏيو هجي.

ڪا به قوم ذلت ۽ سزا جي مستحق ان وقت ٿيندي آهي، جڏهن اُن جو حال اِهو ٿي وڃي جو اها خدائي نشانين جو انڪار ڪرڻ لڳي. نشانين جو انڪار سچن دليلن جو انڪار آهي. حق هميشه دليلن جي روپ ۾ ظاهر ٿيندو آهي. اُن ڪري جيڪو شخص سچي دليل جو انڪار ڪندو آهي، اُهو ڄڻ خدا جو انڪار ڪري رهيو آهي.

لَيْسُوْا سَوَآءً ؕ مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ اُمَّةٌ قَآىِٕمَةٌ يَّتْلُوْنَ اٰيٰتِ اللّٰهِ اٰنَآءَ الَّيْلِ وَ هُمْ يَسْجُدُوْنَ ﴿١١٣﴾ يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَ يَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَ يَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَ يُسَارِعُوْنَ فِي الْخَيْرٰتِ ؕ وَ اُولٰٓىِٕكَ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١١٤﴾ وَ مَا يَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ فَلَنْ يُّكْفَرُوْهُ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالْمُتَّقِيْنَ ﴿١١٥﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَنْ تُغْنِيَ عَنْهُمْ اَمْوَالُهُمْ وَ لَاۤ اَوْلَادُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ؕ وَ اُولٰٓىِٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿١١٦﴾ مَثَلُ مَا يُنْفِقُوْنَ فِيْ هٰذِهِ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا كَمَثَلِ رِيْحٍ فِيْهَا صِرٌّ اَصَابَتْ حَرْثَ قَوْمٍ ظَلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ فَاَهْلَكَتْهُ ؕ وَ مَا ظَلَمَهُمُ اللّٰهُ وَ لٰكِنْ اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿١١٧﴾

سڀ اهل ڪتاب هڪ جهڙا نه آهن. انهن مان هڪ جماعت عهد تي قائم آهي. راتين ۾ الله جون آيتون پڙهن ٿا ۽ هو سجدو ڪن ٿا. هو الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکندا آهن ۽ ڀلائي جو حڪم ڏيندا آهن ۽ برائيءَ کان روڪيندا آهن ۽ نيڪ ڪم ڪرڻ ۾ اڳرائي ڪندا آهن. اِهي صالح ماڻهو آهن. جيڪا به نيڪي اهي ڪندا اُن جي ناقدري نه ڪئي ويندي ۽ الله پرهيزگارن کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو. بيشڪ جن ماڻهن انڪار ڪيو، الله جي مقابلي ۾ اُنهن جا مال ۽ اولاد اُنهن جي ڪجهه ڪم نه ايندا ۽ اُهي ماڻهو دوزخ وارا آهن. هو اُن ۾ هميشه رهندا. اُهي هِن دنيا جي زندگي ۾ جيڪو ڪجهه خرچ ڪندا آهن، اُن جو مثال اُن هوا وانگر آهي. جنهن ۾ پارو هجي ۽ اُنهن ماڻهن جي پوک تي ڪِري جن پنهنجي پاڻ تي ظلم ڪيو آهي، پوءِ اُهو اُن کي برباد ڪري ڇڏي. الله اُنهن تي ظلم نه ڪيو، بلڪ هو پاڻ پنهنجن جانين تي ظلم ڪن ٿا. ١١٣-١١٧

---

نيڪين ۾ اڳرائي (مسارعت في الخيرات) مان مراد هن آيت ۾ اهل ڪتاب جي مؤمنن جو اِهو عمل آهي ته جڏهن نبي آخر الزمانﷺ جي زبان مان خدائي سچائي جو اعلان ٿيو ته اُنهن هڪدم اُن کي سچائي ورتو ۽ اُن ڏانهن عاجزيءَ سان ڊوڙي پيا. اُن وقت هڪ پاسي دين موسيٰؑ هو، جيڪو تاريخي عظمت ۽ رواجي تقدس جي زور تي قائم هو. ٻئي پاسي دين محمدﷺ هو، جنهن جي پويان اڃا تائين

صرف دليل جي طاقت هئي، تاريخي عظمت ۽ رواجي تقدس جو وزن اجا اُن سان گڏ شامل نہ ٿيو هو. پنهنجي دين ۽ وقت جي نبيءَ جي دين ۾ اِهو فرق وقت جي نبي جي دين کي مڃڻ ۾ وڏي رڪاوٽ هو. پر هو اُن رڪاوٽ کي پار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ اڳيان وڌي وقت جي نبيءَ جي دين کي مڃي ورتو.

مال ۽ اولاد جي محبت ماڻهوءَ کي قربانيءَ واري دين تي اچڻ نٿي ڏي. البت نمائشي قسم جي عملن جو مظاهرو ڪري هو سمجهي ٿو تہ هو خدا جي دين تي قائم آهي. پر جهڙيءَ طرح سخت ٿڌي هوا اوچتو سڄي پوک کي برباد ڪري ڇڏي ٿي، اهڙيءَ طرح قيامت جو طوفان اُنهن جي نمائشي عملن کي بي قيمت ڪري ڇڏيندو. يهودين مان صرف ڪجھ ماڻهو هئا جن نبيﷺ تي ايمان آندو هو. ”امت قائم“ جي حيثيت سان اُنهن جو مستقل ذڪر ڪرڻ ظاهر ڪري ٿو تہ ڪجھ ماڻهو جيڪڏهن الله کان ڊڄڻ وارا هجن تہ اُهي هجوم جي مقابلي ۾ الله جي نظر ۾ وڌيڪ قيمتي هوندا آهن.

نجات جي لاءِ صرف اهو ڪافي نہ آهي تہ ڪنهن پيغمبر جي نالي تي جيڪا نسلي امت بڻجي وئي آهي، ماڻهو اُن امت ۾ شامل رهي. بلڪِ اصل ضرورت اِها آهي جو هو عهد جو پابند بڻجي رهي. عهد مان مراد ايمان آهي. ايمان ٻانهي ۽ الله جي وچ ۾ هڪ عهد آهي. ايمان آڻي ٻانهو پنهنجي پاڻ کي اُن جو پابند ڪندو آهي تہ هو پنهنجي پاڻ کي پوري طرح الله جو وفادار ۽ اطاعت ڪندڙ بڻائيندو. ٻين لفظن ۾ گروهي نسبت نہ بلڪ ذاتي عمل اُها شيءِ آهي، جيڪا ڪنهن ماڻهوءَ کي الله جي رحمت ۽ بخشش جو مستحق بڻائي ٿي.

هن عهد ۾ سڀئي ايماني ذميداريون شامل آهن. اڪيلائي ۾ الله جي ياد، الله جي عبادت گذاري، آخرت کي سامهون رکي زندگي گذارڻ، پنهنجي ويجهي جيڪي ماڻهو هجن اُنهن کي ڀلائي تي آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ، جيڪي ماڻهو برائيءَ جا ڪم ڪن، اُنهن کي برائيءَ کان هٽائڻ لاءِ پورو زور لڳائڻ، خدا جي پسند جي ڪمن ۾ ڊوڙي حصو وٺڻ. جيڪي ماڻهو ائين ڪن تہ اُهي ئي الله سان عهد ۾ پورا لٿا. اُهي الله جا مقبول ٻانها آهن. اُنهن جو عمل الله جي علم ۾ آهي، هو اُنهن کي اُنهن جي عمل جو بدلو ڏيندو ۽ فيصلي جي ڏينهن اُنهن جي پوري قدرداني فرمائيندو.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْا بِطَانَةً مِّنْ دُوْنِكُمْ لَا يَاْلُوْنَكُمْ خَبَالًا ؕ وَدُّوْا مَا
عَنِتُّمْ ۚ قَدْ بَدَتِ الْبَغْضَآءُ مِنْ اَفْوَاهِهِمْ ۖۚ وَمَا تُخْفِيْ صُدُوْرُهُمْ اَكْبَرُ ؕ قَدْ بَيَّنَّا لَكُمُ
الْاٰيٰتِ اِنْ كُنْتُمْ تَعْقِلُوْنَ ۝١١٨ هٰۤاَنْتُمْ اُولَآءِ تُحِبُّوْنَهُمْ وَلَا يُحِبُّوْنَكُمْ وَتُؤْمِنُوْنَ
بِالْكِتٰبِ كُلِّهٖ ۚ وَاِذَا لَقُوْكُمْ قَالُوْۤا اٰمَنَّا ۖۚ وَاِذَا خَلَوْا عَضُّوْا عَلَيْكُمُ الْاَنَامِلَ مِنَ
الْغَيْظِ ؕ قُلْ مُوْتُوْا بِغَيْظِكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ۝١١٩ اِنْ تَمْسَسْكُمْ حَسَنَةٌ
تَسُؤْهُمْ ۫ وَاِنْ تُصِبْكُمْ سَيِّئَةٌ يَّفْرَحُوْا بِهَا ؕ وَاِنْ تَصْبِرُوْا وَتَتَّقُوْا لَا يَضُرُّكُمْ
ع ١٢ كَيْدُهُمْ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ۝١٢٠

اي ايمان وارؤ! پنهنجي غير کي پنهنجو رازدار نہ بڻايو. هو توهان کي نقصان پهچائڻ ۾ ڪا بہ گهٽتائي نہ ٿا

ڪن، جيتري قدر توهان کي تڪليف پهچي ٿي، اوتري اُنهن کي خوشي ٿيندي آهي. سندن دشمني سندن زبان مان ظاهر آهي ۽ جيڪو اُنهن جي دلين ۾ آهي سو ته اجا به سخت آهي، اسان توهان جي لاءِ نشانيون کولي بيان ڪيون آهن، جيڪڏهن توهان عقل رکو ٿا. توهان انهن سان محبت رکو ٿا، پر هو توهان سان محبت نه ٿا رکن. حالانڪ توهان سڀ آسماني ڪتابن کي مڃو ٿا ۽ جڏهن هو توهان سان ملندا آهن ته چوندا آهن اسان ايمان آندو آهي ۽ جڏهن پاڻ ۾ ملندا آهن ته ڪاوڙ مان پنهنجن آڱرين کي چٻاڙيندا آهن. چئو توهان پنهنجي ڪاوڙ ۾ وجي مرو. بيشڪ الله دلين جي ڳالهه کي ڄاڻي ٿو. جڏهن توهان کي ڪا چڱائي پهچي ٿي ته اُنهن کي ڏک ٿيندو آهي ۽ جڏهن توهان تي ڪا مصيبت ايندي آهي ته هو خوش ٿيندا آهن. جيڪڏهن توهان صبر ڪريو ۽ الله کان ڊڄو ته اُنهن جي ڪابه تدبير توهان کي نقصان نه پهچائي سگهندي. جيڪو ڪجهه اُهي ڪري رهيا آهن، سڀ الله جي وس ۾ آهي. ۱۱۸-۱۲۰

---

مسلمانن اُن خدائي دين تي ايمان آندو هو جيڪو اڳين اهل ڪتاب (يهودين) کي پنهنجن نبين جي ذريعي مليو هو. ٻنهي جو دين پنهنجي اصل حقيقت جي لحاظ سان هڪ هو. پر يهودي مسلمانن جا ايتري قدر دشمن ٿي پيا جو مسلمان پنهنجن سيني ڀلائين جي باوجود اُنهن وٽ هڪ خير جي ڪلمي جا به حقدار نه هئا. ايتري قدر جو مسلمانن کي جيڪڏهن ڪا تڪليف پهچندي هئي ته هو دل ئي دل ۾ خوش ٿيندا هئا. ڇڻ ته هو اُنهن کي انساني همدردي جو مستحق به نه سمجهندا هئا. ان جي وجهه اِها هئي تي يهودين بني اسرائيل جي نبين طرف منسوب ڪري جيڪو هٿ ٺوڪيل دين ٺاهي رکيو هو ۽ اُن جي زور تي عوام ۾ قيادت جو مقام حاصل ڪري ورتو هو. الله جي دين ۾ سڄو توجهه الله ڏانهن رهندو آهي. جڏهن ته هٿ ٺوڪيل دين ۾ ماڻهن جو توجهه اُنهن ماڻهن ڏانهن ٿي ويندو آهي جيڪي هُن هٿ ٺوڪيل دين جا خالق ۽ اُن جي تشريح ڪرڻ وارا هجن. اهڙا ماڻهو سچي دين جي دعوت کي ڪڏهن به پسند نه ٿا ڪن. ڇاڪاڻ ته اُنهن کي نظر ٿو اچي ته اها دعوت انهن کي اُنهن جي عظمت واري مقام تان هٽائي رهي آهي. جڏهن اِهڙي صورت پيش اچي ته الله جي سچن ٻانهن جو ڪم اهو آهي ته هو منفي رد عمل کان بچن ۽ مڪمل طور تي صبر ۽ تقويٰ تي قائم رهن. صبر جو مطلب آهي ته هر حال ۾ پاڻ کي حق جو پابند رکڻ، ۽ تقويٰ اِها آهي ته فيصلا ڪُن طاقت رڳو الله کي سمجهيو وڃي نه وري ڪنهن ٻئي کي. مسلمان جيڪڏهن ان قسم جي صحيح رويي جو ثبوت ڏين ته ڪنهن جي ڪابه دشمني اُنهن کي ذرو به نقصان نه پهچائيندي، چاهي اها ڪيتري به وڏيڪ هجي. پر اُن سان گڏوگڏ مسلمانن کي حقيقت پسند به هئڻ گهرجي. اُنهن کي پنهنجي دوست ۽ دشمن جي وچ ۾ فرق ڪرڻ گهرجي ته جيئن ڪو اُنهن جي صاف دلي جو ناجائز فائدو نه وٺي سگهي.

مسلمانن جي دلين ۾ يهودين لاءِ محبت هجڻ ۽ يهودين جي دلين ۾ مسلمان لاءِ محبت نه هجڻ ظاهر ڪري ٿو ته ٻنهي ۾ ڪير حق تي آهي ۽ ڪير ناحق تي. الله سڀني جو سڄو رحم ۽ عدل آهي. هو سيني انسانن جو خالق ۽ مالڪ آهي، اُن ڪري جنهن شخص کي حقيقي طور تي الله ملي وڃي ٿو، ان جو سينو الله جي سيني ٻانهن لاءِ ڪلي وڃي ٿو. ان لاءِ سيئي انسان الله جي عيال وانگر آهن. هو هر هڪ جي لاءِ اُهوئي چاهڻ لڳي ٿو جيڪو هو پنهنجي لاءِ چاهي ٿو. پر جن ماڻهن کي الله حقيقت ۾ نه مليو هجي، جن پنهنجي مرضيءَ کي الله جي مرضيءَ سان نه ملايو هجي، اهي صرف پنهنجي ذات جي سطح تي

جيئندا آهن. اُنهن جي زندگي جو سرمايو پنهنجا فائدا ۽ پنهنجا گروهي تعصب هوندا آهن. اُنهن جو اهو مزاج اُنهن کي اِهڙن ماڻهن جو دشمن بڻائي ڇڏي ٿو جيڪي انهن کي پنهنجي مفاد جي خلاف نظر اچن، جيڪي اُنهن جي پنهنجي گروهه ۾ شامل نہ هجن. الله کي مڃيندي بہ اُنهن کان وسري وڃي ٿو تہ هي دنيا الله جي دنيا آهي. هِتي ڪنهن جي ڪابہ تدبير الله جي مرضيءَ کانسواءِ ڪارگر نٿي ٿي سگهي.

وَ اِذْ غَدَوْتَ مِنْ اَهْلِكَ تُبَوِّئُ الْمُؤْمِنِيْنَ مَقَاعِدَ لِلْقِتَالِ ؕ وَ اللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿١٢١﴾ اِذْ
هَمَّتْ طَّآئِفَتٰنِ مِنْكُمْ اَنْ تَفْشَلَا ۙ وَ اللّٰهُ وَلِيُّهُمَا ؕ وَ عَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿١٢٢﴾ وَ
لَقَدْ نَصَرَكُمُ اللّٰهُ بِبَدْرٍ وَّ اَنْتُمْ اَذِلَّةٌ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿١٢٣﴾ اِذْ تَقُوْلُ
لِلْمُؤْمِنِيْنَ اَلَنْ يَّكْفِيَكُمْ اَنْ يُّمِدَّكُمْ رَبُّكُمْ بِثَلٰثَةِ اٰلٰفٍ مِّنَ الْمَلٰٓئِكَةِ مُنْزَلِيْنَ ﴿١٢٤﴾ بَلٰٓى ۙ
اِنْ تَصْبِرُوْا وَ تَتَّقُوْا وَ يَاْتُوْكُمْ مِّنْ فَوْرِهِمْ هٰذَا يُمْدِدْكُمْ رَبُّكُمْ بِخَمْسَةِ اٰلٰفٍ مِّنَ
الْمَلٰٓئِكَةِ مُسَوِّمِيْنَ ﴿١٢٥﴾ وَ مَا جَعَلَهُ اللّٰهُ اِلَّا بُشْرٰى لَكُمْ وَ لِتَطْمَئِنَّ قُلُوْبُكُمْ بِهٖ ؕ وَ مَا
النَّصْرُ اِلَّا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ﴿١٢٦﴾ لِيَقْطَعَ طَرَفًا مِّنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْۤا اَوْ
يَكْبِتَهُمْ فَيَنْقَلِبُوْا خَآئِبِيْنَ ﴿١٢٧﴾ لَيْسَ لَكَ مِنَ الْاَمْرِ شَيْءٌ اَوْ يَتُوْبَ عَلَيْهِمْ اَوْ
يُعَذِّبَهُمْ فَاِنَّهُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿١٢٨﴾ وَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ؕ يَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ
ع يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٢٩﴾

جڏهن تون صبح جو پنهنجي گهر کان نڪتو هئين ۽ مسلمانن کي جنگ جي مورچن تي مقرر پئي ڪيو ۽ الله ٻڌڻ وارو، ڄاڻڻ وارو آهي. جڏهن توهان مان ٻن جماعتن ٻي همت ٽيڻ جو ارادو ڪيو ۽ الله اُنهن ٻنهي جماعتن جو مددگار هو ۽ مسلمانن کي الله تي ئي ڀروسو ڪرڻ گهرجي. ۽ الله توهان جي مدد بدر ۾ ڪئي هئي، جڏهن توهان ڪمزور هئا. پوءِ الله کان ڊڄو تہ جيئن توهان شڪر گذار رهو. جڏهن تون مسلمانن کي چئي رهيو هئين تہ ڇا توهان لاءِ اِهو ڪافي نہ آهي تہ توهان جو رب ٽي هزار فرشتا نازل ڪري توهان جي مدد ڪري. جيڪڏهن توهان صبر ڪريو ۽ الله کان ڊڄو ۽ جيڪڏهن دشمن توهان تي اوچتو چڙهائي ڪري تہ توهان جو رب پنج هزار نشان ڪيل فرشتن سان توهان جي مدد ڪندو. ۽ الله اِهو رڳو اوهان جي خوشخبري ۽ اوهان جي دلين جي تسلي جي لاءِ ڪيو ۽ مدد صرف الله جي طرفان ئي آهي جيڪو زبردست آهي، حڪمت وارو آهي. تہ جيئن الله ڪافرن جي هڪ حصي کي ڪٽي ڇڏي يا اُنهن کي ذليل ڪري جو اُهي ناڪام واپس موٽي وڃن. توهان کي هن حڪم ۾ ڪوبہ اختيار نہ آهي. الله اُنهن جي توبهہ قبول ڪري يا اُنهن کي عذاب ڏي، ڇاڪاڻ تہ اُهي ظالم آهن ۽ الله جي اختيار ۾ ئي آهي جيڪو ڪجهہ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو ڪجهہ زمين ۾ آهي. هو جنهن کي چاهي بخش ڪري ۽ جنهن کي چاهي عذاب ڏي ۽ الله غفور رحيم آهي. ١٢١-١٢٩

---

هي آيتون جنگ اُحد (٣ هه) کان پوءِ نازل ٿيون. اُحد جي جنگ ۾ دشمنن جو تعداد ٽي هزار هو. مسلمانن جي طرفان هڪ هزار ماڻهو مقابلي جي لاءِ نڪتا هئا، پر رستي ۾ عبدالله بن اُبيّ پنهنجن ٽي

سؤ ساٿين کي وٺي ڏار ٿي ويو. ان واقعي جي ڪري ڪجھ انصاري مسلمانن ۾ بي همتي پيدا ٿي، پر رسول اللهﷺ ياد ڏياريو تہ اسان پنهنجي ڀروسي تي نہ بلڪ الله جي ڀروسي تي نڪتا آهيون. تہ پوءِ الله ان حقيقت کي سمجهڻ جي لاءِ انهن مسلمانن جا سينا کولي ڇڏيا. مؤمن جي اندر جيڪڏهن حالتن جي سختيءَ جي ڪري وقتي ڪمزوري پيدا ٿي وڃي تہ اِهڙي وقت ۾ الله هُن کي اڪيلو نہ ٿو ڇڏي، بلڪ اُن جو مددگار بڻجي ٻيهر اُن کي ايمان جي حالت تي ڄمائي ٿو ڇڏي. الله جي اِها ئي مدد اجتماعي سطح تي اهڙيءَ طرح ٿي جو اُحد جي لڙائي ۾ مسلمانن جي هڪ ڪمزوري مان فائدو وٺي دشمن اُنهن جي مٿان غالب اچي ويا. هاڻي دشمن فوج لاءِ پورو موقعو هو تہ اها شڪست کان پوءِ مسلمانن جي طاقت کي پوريءَ طرح ختم ڪري ڇڏي. پر فوجي تاريخ جو اِهو حيرت ۾ وجهندڙ واقعو آهي جو دشمن فوج فتح جي باوجود جنگ جو ميدان ڇڏي واپس هلي وئي. اِها الله جي خاص مدد هئي جو هُن دشمن جو رخ ”مديني“ جي بجاءِ ”مڪي“ ڏانهن موڙي ڇڏيو. اهڙي طرح جيڪي مغلوب هئا اُنهن غالب اچڻ وارن جو پيڇو ڪيو.

مؤمن جو مزاج اِهڙو هئڻ گهرجي جو هو تعداد يا وسيلن جي گهٽتائي کان نہ گهٻرائي. تعداد گهٽ هجي تہ يقين ڪري تہ الله پنهنجن فرشتن کي موڪلي تعداد جي گهٽتائي پوري ڪري ڇڏيندو. سامان گهٽ هجي تہ هو ڀروسو رکي تہ الله پنهنجي طرفان اِهڙي صورتحال پيدا ڪندو جو اُن جي لاءِ سامان جي گهٽتائيءَ جي تلافي ٿي ويندي. ڪاميابيءَ جو دارومدار مادي سببن تي نہ آهي، بلڪ صبر ۽ تقويٰ تي آهي. جيڪي ماڻهو الله کان ڊڄن ۽ الله تي ڀروسو رکن، اُنهن جي حق ۾ الله جي مدد جون ٻہ صورتون آهن. هڪ، ان جي مخالفن جي هڪ حصي کي ڪٽي ڇڏڻ. ٻي، مخالفن کي شڪست ڏئي اُنهن کي مغلوب ڪرڻ. پهرين ڪاميابي دعوت جي ذريعي ايندي آهي. مخالف ڌر جي جن ماڻهن ۾ الله ڪجھ طلب ڏسي ٿو تہ اُنهن جي مٿان دين جي حقيقيت کي روشن ڪري ڇڏي ٿو، هو باطل جي صف ڇڏي حق جي صف ۾ شامل ٿي ويندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح مخالف ڌر جي ڪمزوري ۽ ايمان وارن جي قوت جو سبب بڻجندا آهن. ٻي صورت ۾ الله ايمان وارن کي قوت ۽ حوصلو ڏيندو آهي ۽ اُنهن جي خاص مدد ڪري اُنهن کي مخالف ڌر تي غالب ڪري ڇڏيندو آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَاْكُلُوا الرِّبٰوٓا اَضْعَافًا مُّضٰعَفَةً ۠ وَّ اتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ۝١٣٠
وَاتَّقُوا النَّارَ الَّتِيْٓ اُعِدَّتْ لِلْكٰفِرِيْنَ ۝١٣١ وَ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ الرَّسُوْلَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ۝١٣٢
وَسَارِعُوْٓا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ جَنَّةٍ عَرْضُهَا السَّمٰوٰتُ وَ الْاَرْضُ ۙ اُعِدَّتْ
لِلْمُتَّقِيْنَ ۝١٣٣ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ فِي السَّرَّآءِ وَ الضَّرَّآءِ وَ الْكٰظِمِيْنَ الْغَيْظَ وَ الْعَافِيْنَ
عَنِ النَّاسِ ؕ وَ اللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ۝١٣٤ وَ الَّذِيْنَ اِذَا فَعَلُوْا فَاحِشَةً اَوْ ظَلَمُوْٓا
اَنْفُسَهُمْ ذَكَرُوا اللّٰهَ فَاسْتَغْفَرُوْا لِذُنُوْبِهِمْ ۠ وَ مَنْ يَّغْفِرُ الذُّنُوْبَ اِلَّا اللّٰهُ ۠ۙ وَ لَمْ
يُصِرُّوْا عَلٰى مَا فَعَلُوْا وَ هُمْ يَعْلَمُوْنَ ۝١٣٥ اُولٰٓئِكَ جَزَآؤُهُمْ مَّغْفِرَةٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَ جَنّٰتٌ

تَجۡرِیۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ خٰلِدِیۡنَ فِیۡهَا ؕ وَنِعۡمَ اَجۡرُ الۡعٰمِلِیۡنَ ﴿۱۳۶﴾ قَدۡ خَلَتۡ مِنۡ
قَبۡلِكُمۡ سُنَنٌ ۙ فَسِیۡرُوۡا فِی الۡاَرۡضِ فَانۡظُرُوۡا كَیۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ الۡمُكَذِّبِیۡنَ ﴿۱۳۷﴾ هٰذَا بَیَانٌ
لِّلنَّاسِ وَهُدًی وَّمَوۡعِظَةٌ لِّلۡمُتَّقِیۡنَ ﴿۱۳۸﴾

اي ايمان وارؤ! وياج ٻيڻو چؤڻو وڌائي کري نہ کائو ۽ الله کان ڊڄو تہ جيئن توهان ڪامياب ٿيو. ۽ ڊڄو اُن باھ کان جيڪا ڪافرن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي ۽ الله ۽ رسول جي اطاعت ڪريو، تہ جيئن توهان تي رحم ڪيو وڃي. ۽ ڊوڙو پنهنجي رب جي بخشش ڏانهن ۽ اُن جنت ڏانهن جنهن جي وسعت آسمان ۽ زمين جيڏي آهي. اُها تيار ڪئي وئي آهي الله کان ڊڄڻ وارن جي لاءِ. جيڪي ماڻهو خرچ ڪن ٿا ڪشادگيءَ توڙي تنگيءَ ۾. اهي ڪاوڙ کي پي وڃڻ وارا آهن ۽ ماڻهن سان درگذر ڪرڻ وارا آهن ۽ الله نيڪي ڪرڻ وارن کي دوست رکندو آهي. ۽ اهڙا ماڻهو جڏهن هو ڪو پڌرو گناھ ڪري وجهن يا پنهنجي پاڻ تي ڪو ظلم ڪري وجهن تہ هو الله کي ياد ڪري پنهنجن گناهن جي معافي گهرندا آهن. الله کانسواءِ ڪير آهي جو گناهن کي معاف ڪري ۽ جيڪي ڪري وجهن ٿا، ان تي ڄاڻي واڻي اصرار نہ ٿا ڪن. اِهي اُهي ماڻهو آهن جن جو بدلو اُنهن جي رب جي طرفان مغفرت آهي ۽ اهڙا باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. اُن ۾ هو هميشہ رهندا. ڪهڙو سٺو بدلو آهي ڪم ڪرڻ وارن جو. توهان کان اڳ ڪيترائي مثال ٿي گذريا آهن. پوءِ زمين ۾ گهمي ڦري ڏسو تہ انهن ڪوڙ ڀائيندڙن جو انجام ڪهڙو ٿيو. اِهو بيان آهي ماڻهن جي لاءِ ۽ هدايت ۽ نصيحت آهي ڊپ رکڻ وارن جي لاءِ. ١٣٠-١٣٨

---

وياج جو ڪاروبار زر پرستي جي آخري بدترين شڪل آهي. جيڪو ماڻهو زرپرستي ۾ مبتلا هجي، اهو رات ڏينهن انهيءَ فڪر ۾ هوندو آهي تہ ڪهڙي طرح اُن جو مال ٻيڻو ۽ چؤڻو ٿي وڃي. هو دنيا جو مال حاصل ڪرڻ لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ لڳندو آهي. حالانڪ صحيح ڳالھ اِها آهي تہ ماڻهو آخرت جي جنت ڏانهن ڊوڙي ۽ الله جي رحمت ۽ مدد جو وڌ ۾ وڌ حريص هجي. ماڻهو پنهنجو مال اُن ڪري وڌائڻ چاهي ٿو تہ دنيا ۾ اُن کي عزت ملي وڃي، دنيا ۾ اُن جي لاءِ شاندار زندگيءَ جي ضمانت ملي وڃي. پر موجوده دنيا جي عزت ۽ ڪاميابيءَ جي ڪا بہ حقيقت نہ آهي. اصل اهميت جي شيءِ جنت آهي جنهن جون خوشيون ۽ لذتون بي حساب آهن. عقلمند اُهو آهي جيڪو اُن جنت ڏانهن ڊوڙي. جنت ڏانهن ڊوڙڻ اِهو آهي تہ ماڻهو پنهنجي مال کي وڌ مان وڌ الله جي راھ ۾ ڏي. دنياوي ڪاميابي جو ذريعو مال کي ”وڌائڻ“ آهي ۽ آخرت جي ڪاميابي کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو مال کي ”گهٽائڻ“ آهي. پهرئين قسم جي ماڻهن جو سرمايو جيڪڏهن مال جي محبت آهي تہ ٻئي قسم جي ماڻهن جو سرمايو الله ۽ رسول جي محبت. پهرئين قسم جي ماڻهن کي جيڪڏهن دنيا جي نفعي جو شوق هوندو آهي تہ ٻئي قسم جي ماڻهن کي آخرت جي نفعي جو. پهرين قسم جي ماڻهن کي دنيا جي نقصان جو ڊپ لڳل هوندو آهي ۽ ٻئي قسم جي ماڻهن کي آخرت جي نقصان جو.

جيڪي ماڻهو الله کان ڊڄندا آهن، انهن جي اندر ”احسان“ جو مزاج پيدا ٿي ويندو آهي. يعني جيڪو ڪم ڪن تہ اهڙيءَ طرح ڪن جو اهو الله جي نظر ۾ وڌ کان وڌ پسنديده هجي. هو آزاد زندگيءَ جي بدران پابند زندگي گذاريندا آهن. الله جي دين جي ضرورت کي هو پنهنجي ضرورت بڻائي وٺندا آهن ۽ ان جي لاءِ هر حال ۾ خرچ ڪندا آهن. چاهي انهن وٽ گهٽ هجي يا گهڻو. انهن کي جڏهن ڪنهن

تي ڪاوڙ اچي وڃي ٿي تہ هو اُن کي اندرئي اندر پي ويندا آهن. ڪنهن کان شڪايت هجي تہ اُن کان بدلو وٺڻ جي بجاءِ اُن کي معاف ڪري ڇڏيندا آهن. غلطيون اُنهن کان بہ ٿينديون آهن، پر اهي وقتي هونديون آهن. غلطيءَ کان پوءِ هو فوراً ڇرڪي پوندا آهن ۽ ٻيهر الله ڏانهن متوجهہ ٿي ويندا آهن. هو ٻي چپن تي الله کي پڪارڻ لڳندا آهن تہ هو انهن کي معاف ڪري ڇڏي ۽ انهن تي پنهنجن رحمتن جو پردو وجهي ڇڏي. قرآن ۾ جيڪا ڳالهہ لفظن ۾ ٻڌائي وئي آهي اُها تاريخ ۾ عمل جي زبان ۾ موجود آهي. پر نصيحت اُهي وٺن ٿا جيڪي نصيحت جي طلب رکندا هجن.

وَ لَا تَهِنُوْا وَ لَا تَحْزَنُوْا وَ اَنْتُمُ الْاَعْلَوْنَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٣٩﴾ اِنْ يَّمْسَسْكُمْ قَرْحٌ
فَقَدْ مَسَّ الْقَوْمَ قَرْحٌ مِّثْلُهٗ ؕ وَ تِلْكَ الْاَيَّامُ نُدَاوِلُهَا بَيْنَ النَّاسِ ۚ وَ لِيَعْلَمَ اللّٰهُ
الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَيَتَّخِذَ مِنْكُمْ شُهَدَآءَ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يُحِبُّ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٤٠﴾ وَ لِيُمَحِّصَ اللّٰهُ
الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ يَمْحَقَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٤١﴾ اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ تَدْخُلُوا الْجَنَّةَ وَ لَمَّا يَعْلَمِ اللّٰهُ
الَّذِيْنَ جٰهَدُوْا مِنْكُمْ وَ يَعْلَمَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿١٤٢﴾ وَ لَقَدْ كُنْتُمْ تَمَنَّوْنَ الْمَوْتَ مِنْ قَبْلِ اَنْ
ع ١٤ ٥ تَلْقَوْهُ ۠ فَقَدْ رَاَيْتُمُوْهُ وَ اَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿١٤٣﴾

۽ همت نہ هاريو ۽ نہ غمگين ٿيو، توهان ئي غالب ٿيندؤ، جيڪڏهن اوهان مؤمن آهيو. جيڪڏهن اوهان کي ڪو زخم پهتو آهي تہ دشمن کي بہ زخم پهتو آهي. هي تہ زماني جا لاها چاڙها آهن جن کي ماڻهن جي وچ ۾ ڦيرائيندا رهندا آهيون. جيئن تہ الله ايمان وارن کي ڄاڻي وٺي ۽ توهان مان ڪجھ ماڻهن کي شاهد بڻائي ۽ الله ظالمن کي دوست نہ ٿو رکي. ۽ هِن لاءِ تہ الله ايمان وارن کي پاڪ ڪري ۽ انڪار ڪرڻ وارن کي مٽائي ڇڏي. ڇا توهان خيال ڪيو ٿا تہ جنت ۾ داخل ٿي ويندؤ، حالانڪ اڃا الله توهان مان اُنهن ماڻهن کي نہ ڄاتو آهي جن جهاد ڪيو ۽ نہ اُنهن کي جيڪي ثابت قدم رهڻ وارا آهن. ۽ توهان موت جي تمنا ڪري رهيا هئا اُن سان ملڻ کان پهرين، پوءِ هاڻي توهان اُن کي اکين سان ڏسي ورتو. ١٣٩-١٤٣

---

ايمان آڻڻ جڻ تہ الله جي لاءِ جيئڻ ۽ الله جي لاءِ مرڻ جو اقرار ڪرڻ آهي. جيڪي ماڻهو اهڙيءَ طرح مؤمن بڻجن، انهن جي لاءِ الله جو واعدو آهي تہ هو انهن کي دنيا ۾ غلبو ۽ آخرت ۾ جنت ڏيندو ۽ انهن کي اهو اهم ترين اعزاز بہ عطا ڪندو تہ جن ماڻهن دنيا ۾ انهن کي رد ڪري ڇڏيو هو، اُنهن جي مٿان اُنهن کي پنهنجي عدالت ۾ گواهہ بڻائيندو ۽ اُنهن جي شاهديءَ جي بنياد تي انهن جي مستقل انجام جو فيصلو ڪندو. پر اهو مقام رڳو لفظي اقرار سان نہ ٿو ملي وڃي، ان جي لاءِ ضروري آهي تہ ماڻهو صبر ۽ جهاد جي سطح تي پنهنجي سچي هجڻ جو ثبوت ڏي. مؤمن چاهي پنهنجي ذاتي زندگي کي ايمان ۽ اسلام تي قائم ڪري يا هو ٻين جي سامهون خدا جي دين جو گواهہ بڻجي بيهي رهي، هر حال ۾ اُن کي ٻين جي طرفان ڏکيائيون ۽ رڪاوٽون پيش اينديون آهن. انهن ڏکيائين ۽ رڪاوٽن جو مقابلو ڪرڻ جهاد آهي ۽ هر حال ۾ پنهنجي اقرار تي جميل رهڻ جو نالو صبر آهي. جيڪي ماڻهو اُن جهاد ۽ صبر جو ثبوت ڏين، سي ئي ماڻهو جنت کي آباد ڪرڻ جي قابل هوندا. اهڙيءَ طرح انهيءَ سان دنيا جي سربلندي جو رستو کلندو آهي. "جهاد" اُنهن جي مسلسل ۽ مڪمل عمل جي ضمانت آهي ۽ "صبر" ان ڳالهہ جي ضمانت آهي تہ هو ڪڏهن بہ ڪو جذباتي

قدم نہ کڻندا ۽ اِهي بئي ٻاڪهيون جنهن گروهہ ۾ پيدا ٿي وڃن تہ اُنهن جي لاءِ خدا جي هِن دنيا ۾ ڪاميابي
ايتري ئي يقيني ٿي ويندي آهي جيترو سني زمين ۾ هڪ ٻج جو ڦٽڻ.

هڪ ماڻهو الله جي رستي تي هلڻ جو ارادو ڪري ٿو تہ ٻين جي طرفان طرح طرح جا مسئلا پيش ايندا آهن. اِهي مسئلا ڪڏهن اُن کي بي يقينيءَ جي ڪيفيت ۾ مبتلا ڪندا آهن. ڪڏهن مصلحت پرستي جو سبق ڏيندا آهن. ڪڏهن هِن جي اندر منفي نفسيات کي پيدا ڪندا آهن. ڪڏهن خدا جي خالص دين جي مقابلي ۾ اهڙي عوامي دين جا نسخا ٻڌائيندا آهن جيڪي ماڻهن جي لاءِ قابل قبول هجن. اِهوئي موجوده دنيا ۾ ماڻهوءَ جو امتحان آهي. اهڙن موقعن تي ماڻهو جيڪو ردِ عمل ظاهر ڪري تہ اُن مان معلوم ٿيندو آهي تہ هو پنهنجي ايمان جي اقرار ۾ سچو هو يا ڪوڙو. جيڪڏهن اُن جو عمل اُن جي ايمان جي دعويٰ مطابق هجي تہ هو سچو آهي ۽ جيڪڏهن اُن جي خلاف هجي تہ هو ڪوڙو. شهيد (الله جو گواهہ) بڻجڻ ان سفر جي انتها آهي. الله جو هڪ ٻانهو ماڻهن جي وچ ۾ حق جو داعي بڻجي بيٺو. اُن جو حال اِهو هو تہ هو جنهن شيءِ ڏانهن سڏي رهيو هو، پاڻ اُن تي پوريءَ طرح قائم هو. ماڻهن اُن کي حقير سمجهيو، پر هن ڪنهن جي پرواهہ نہ ڪئي. هن تي ڏکيائيون آيون پر اُهي اُن کي پنهنجي مقام تان هٽائڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيون. هو نہ ڪمزور ٿيو ۽ نہ منفي نفسيات جو شڪار ٿيو. ايستائين جو اُن جي جان ۽ مال جي بازي لڳي وئي، پوءِ بہ هو پنهنجي دعوت واري مؤقف کان نہ هٽيو. اها آزمائش انتهائي سخت امتحان آهي. پر اُن مان گذرڻ کان پوءِ ئي اُهو انسان بڻجي ٿو، جنهن کي الله پنهنجن ٻانهن جي مٿان پنهنجو گواهہ قرار ڏي. ماڻهو جڏهن هر قسم جي حالتن جي باوجود پنهنجي دعوتي عمل تي قائم رهي ٿو تہ هو پنهنجي پيغام جي حق ۾ پنهنجي يقين جو ثبوت ڏيندو آهي. اهڙيءَ طرح هو جنهن ڳالهہ جي خبر ڏئي رهيو آهي، اهو هڪ انتهائي سنجيده معاملو آهي، نہ وري ڪو سرسري معاملو.

وَ مَا مُحَمَّدٌ اِلَّا رَسُوْلٌ ۚ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِ الرُّسُلُ ؕ اَفَاۡئِنْ مَّاتَ اَوْ قُتِلَ انْقَلَبْتُمْ
عَلٰۤى اَعْقَابِكُمْ ؕ وَ مَنْ يَّنْقَلِبْ عَلٰى عَقِبَيْهِ فَلَنْ يَّضُرَّ اللّٰهَ شَيْـًٔا ؕ وَ سَيَجْزِى اللّٰهُ
الشّٰكِرِيْنَ ﴿۱۴۴﴾ وَمَا كَانَ لِنَفْسٍ اَنْ تَمُوْتَ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ كِتٰبًا مُّؤَجَّلًا ؕ وَ مَنْ يُّرِدْ ثَوَابَ
الدُّنْيَا نُؤْتِهٖ مِنْهَا ۚ وَمَنْ يُّرِدْ ثَوَابَ الْاٰخِرَةِ نُؤْتِهٖ مِنْهَا ؕ وَ سَنَجْزِى الشّٰكِرِيْنَ ﴿۱۴۵﴾ وَ
كَاَيِّنْ مِّنْ نَّبِيٍّ قٰتَلَ ۙ مَعَهٗ رِبِّيُّوْنَ كَثِيْرٌ ۚ فَمَا وَ هَنُوْا لِمَاۤ اَصَابَهُمْ فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ مَا
ضَعُفُوْا وَ مَا اسْتَكَانُوْا ؕ وَ اللّٰهُ يُحِبُّ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۱۴۶﴾ وَ مَا كَانَ قَوْلَهُمْ اِلَّاۤ اَنْ قَالُوْا رَبَّنَا
اغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا وَ اِسْرَافَنَا فِىْۤ اَمْرِنَا وَ ثَبِّتْ اَقْدَامَنَا وَ انْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۴۷﴾
فَاٰتٰىهُمُ اللّٰهُ ثَوَابَ الدُّنْيَا وَ حُسْنَ ثَوَابِ الْاٰخِرَةِ ؕ وَ اللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۴۸﴾ ع ۶

محمد هڪ رسول آهي. اُن کان اڳ بہ رسول ٿي گذريا آهن. پوءِ ڇا جيڪڏهن هو مري وڃن يا قتل ڪيا وڃن تہ
توهان ڪڙين ڀر ڦري ويندؤ ۽ جيڪو شخص ڦرندو سو الله کي ڪجهہ بہ نقصان نہ پهچائيندو ۽ الله شڪر ڪندڙن

ڪي بدلو ڏيندو. ۽ ڪو به ساھ وارو مري نه ٿو سگهي الله جي حڪم کان سواءِ. الله جو لکيل واعدو آهي ۽ جيڪو شخص دنيا جو فائدو چاهي ٿو، اُن کي اسان دنيا ۾ ڏئي ڇڏيندا آهيون ۽ جيڪو آخرت جو فائدو چاهي ٿو، اُن کي اسان آخرت ۾ ڏئي ڇڏيندا آهيون ۽ شڪر ڪرڻ وارن کي اسان اُنهن جو بدلو ضرور عطا ڪنداسون. ۽ ڪيترائي نبي آهن جن سان گڏجي گهڻن ئي الله وارن جنگ لڙي. الله جي راھ ۾ جيڪي مصيبتون مٿن آيون، تن ڪان اُنهن نه همت هاري نه اُنهن ڪمزوري ڏيکاري ۽ نه هو جهڪيا ۽ الله صبر ڪرڻ وارن کي دوست رکي ٿو. اُنهن جي زبان مان اُن ڪان سواءِ ٻيو ڪجھ به نه نڪتو ته اي اسان جا رب! اسان جي گناهن کي بخش ڪر ۽ اسان جي ڪمن ۾ اسان ڪان جيڪا زيادتي ٿي آهي، ان کي معاف فرماءِ ۽ اسان کي ثابت قدم رک ۽ منڪر قوم جي مقابلي ۾ اسان جي مدد فرماءِ. پوءِ الله اُنهن کي دنيا جو اجر به ڏنو ۽ آخرت جو پڻ عمدو اجر عطا ڪيو ۽ الله نيڪي ڪرڻ وارن کي دوست رکندو آهي. ١٤٤-١٤٨

---

اُحد جي جنگ ۾ اِها خبر مشهور ٿي ته نبيﷺ شهيد ٿي ويا. ان وقت ڪجھ مسلمانن ۾ ڪمزوري پيدا ٿي. پر الله جا حقيقي ٻانها اُهي آهن جن جي دينداري ڪنهن شخصيت جي مٿان قائم نه هجي. الله کي اُها دينداري مطلوب آهي جنهن ۾ ٻانهو پنهنجي سڄي روح ۽ سڄي جان سان صرف هڪ الله سان جڙي وڃي. مؤمن اُهو آهي جيڪو اسلام کي اُن جي اُصولي صداقت جي ڪري اپنائي نه وري ڪنهن شخصيت جي سهاري تي.

اسلامِ اهڙيءَ طرح جنهن شخص کي ملي ٿو، اُن جي لاءِ اسلام هڪ اِهڙي نعمت بڻجي وڃي ٿو، جنهن جي لاءِ اُن جي روح جي اندر شڪر جو دريا جاري ٿي وڃي ٿو. هو دنيا جي بجاءِ آخرت کي سڀ ڪجھ سمجهڻ لڳي ٿو. زندگي اُن جي لاءِ هڪ اهڙي ناپائيدار شيءِ بڻجي وڃي ٿي جيڪا ڪنهن به وقت موت جو شڪار بڻجي سگهي ٿي. هو ڪائنات کي اِهڙي خدائي ڪارخاني جي حيثيت سان ڏسي وٺي ٿو جتي هر واقعو الله جي حڪم سان ٿي رهيو آهي. جتي ڏيڻ وارو به اُهوئي آهي ۽ کسڻ وارو به اُهوئي. اهڙا ئي ماڻهو الله جي راھ جا سچا مسافر آهن. الله جيڪڏهن چاهي ٿو ته دنيا جي عزت ۽ اقتدار به اُنهن کي ڏئي ڇڏي ٿو ۽ آخرت جا عظيم ۽ هميشه جا انعام رڳو اُنهن جي لاءِ ئي آهن. پر اِهو درجو ڪنهن کي صرف اُن وقت ملندو آهي جڏهن ته هو هر قسم جي امتحان ۾ پورو لهي. اُن جا ظاهري سهارا ڇڏائجي وڃن تڏهن به هو الله تي پنهنجون نظرون ڄمائي رکي. جان جو خطرو به اُن کي بي همت نه ڪري سگهي. سندس دنيا برباد ٿي رهي هجي تڏهن به هو پوئتي نه هٽي. هُن جي سامهون ڪو به نقصان اچي ته هو اُن کي پنهنجي ڪوتاهيءَ جو نتيجو سمجهي الله کان معافي گهري. ڪو فائدو ملي ته اُن کي خدا جو انعام سمجهي شڪر ادا ڪري. مؤمن جو اِهو امتحان جيڪو هر روز ورتو پيو وڃي ڪڏهن اُن کي لوڏي ڇڏڻ واري مقام تائين به پهچائي ڇڏيندو آهي جتي زندگي جي بازي لڳل هوندي آهي. اهڙن موقعن تي به جڏهن ماڻهو بزدلي نه ڏيکاري نه هو بي يقينيءَ ۾ مبتلا ٿئي ۽ نه ڪنهن حال ۾ دين جي دشمنن جي سامهون هار مڃڻ جي لاءِ تيار ٿئي ته ڄڻ هو امتحان جي آخري جانچ ۾ به پورو لٿو. اهڙن ئي ماڻهن جي لاءِ هر قسم جون سرفرازيون آهن. تاريخ ۾ اُهي ئي ماڻهو سيني کان وڌيڪ قيمتي آهن جن کي اهڙيءَ طرح الله مليو هجي ۽ اُنهن پاڻ کي اهڙيءَ طرح الله جي منصوبي ۾ شامل ڪري ڇڏيو هجي. نازڪ موقعن تي اهل ايمان جو پاڻ ۾ متحد رهڻ ۽ صبر سان حق تي ڄميل رهڻ اُهي شيون آهن، جيڪي اهل

ايمان ڪي الله جي مدد جو مستحق بڻائين ٿيون.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنْ تُطِيْعُوا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يَرُدُّوْكُمْ عَلٰۤى اَعْقَابِكُمْ فَتَنْقَلِبُوْا
خٰسِرِيْنَ ﴿١٤٩﴾ بَلِ اللّٰهُ مَوْلٰىكُمْ ۚ وَ هُوَ خَيْرُ النّٰصِرِيْنَ ﴿١٥٠﴾ سَنُلْقِيْ فِيْ قُلُوْبِ الَّذِيْنَ كَفَرُوا
الرُّعْبَ بِمَاۤ اَشْرَكُوْا بِاللّٰهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ سُلْطٰنًا ۚ وَ مَاْوٰىهُمُ النَّارُ ؕ وَ بِئْسَ مَثْوَى
الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٥١﴾ وَ لَقَدْ صَدَقَكُمُ اللّٰهُ وَعْدَهٗۤ اِذْ تَحُسُّوْنَهُمْ بِاِذْنِهٖ ۚ حَتّٰۤى اِذَا فَشِلْتُمْ وَ
تَنَازَعْتُمْ فِي الْاَمْرِ وَ عَصَيْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَاۤ اَرٰىكُمْ مَّا تُحِبُّوْنَ ؕ مِنْكُمْ مَّنْ يُّرِيْدُ
الدُّنْيَا وَ مِنْكُمْ مَّنْ يُّرِيْدُ الْاٰخِرَةَ ۚ ثُمَّ صَرَفَكُمْ عَنْهُمْ لِيَبْتَلِيَكُمْ ۚ وَ لَقَدْ عَفَا
عَنْكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ ذُوْ فَضْلٍ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٥٢﴾ اِذْ تُصْعِدُوْنَ وَ لَا تَلْوٗنَ عَلٰۤى اَحَدٍ وَّ الرَّسُوْلُ
يَدْعُوْكُمْ فِيْۤ اُخْرٰىكُمْ فَاَثَابَكُمْ غَمًّۢا بِغَمٍّ لِّكَيْلَا تَحْزَنُوْا عَلٰى مَا فَاتَكُمْ وَ لَا مَاۤ
اَصَابَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٥٣﴾

اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن توهان منڪرن جي ڳالھ مڃيندؤ تہ هو توهان ڪي پوئين پير ڦيري ڇڏيندا. پوءِ توهان ناڪام ٿي رهجي ويندؤ. بلڪ الله توهان جو مددگار آهي ۽ هو سڀ ڪان بهتر مدد ڪرڻ وارو آهي. اسان منڪرن جي دلين ۾ توهان جو رعب وجهنداسين. ڇاڪاڻ تہ اُنهن اِهڙي شيءِ ڪي الله جو شريڪ بڻايو آهي، جنهن جي حق ۾ الله ڪو دليل نازل ناهي ڪيو. اُنهن جو ٺڪاڻو جهنم آهي ۽ اُها ظالمن جي لاءِ بيڇڙي جاءِ آهي. ۽ الله توهان سان پنهنجي وعدي کي سچو ڪري ڏيکاريو. جڏهن توهان اُنهن کي الله جي حڪم سان قتل ڪري رهيا هئا. ايستائين جو توهان پاڻ ڪمزور پئجي ويا ۽ توهان ڪم ۾ اختلاف ڪيو ۽ توهان چوڻ تي نہ هليا، جڏهن تہ الله توهان کي اُها شيءِ ڏيکاري جنهن کي توهان چاهيو ٿي. توهان مان ڪن دنيا کي چاهيو ٿي ۽ توهان مان ڪن آخرت کي پسند ڪيو. پوءِ الله توهان جو رخ انهن کان ڦيري ڇڏيو جيئن تہ توهان جي آزمائش ڪري ۽ الله توهان کي معاف ڪري ڇڏيو ۽ الله ايمان وارن جي حق ۾ وڏو فضل ڪرڻ وارو آهي. جڏهن توهان ڀڄا ٿي ويا ۽ ڪنهن ڏانهن مُڙي ڏسڻ جو هوش بہ توهان کي نہ رهيو ۽ رسول توهان کي پٺيان سڏيندو رهيو. پوءِ الله توهان کي غم جي مٽان غم ڏنو، تہ جيئن توهان رنج نہ ڪريو اُن شيءِ تي جيڪا توهان جي هٿن مان نڪري ويئي ۽ نہ اُن مصيبت تي جيڪا توهان کي پهتي ۽ الله باخبر آهي جيڪو ڪجھ توهان ڪريو ٿا. ١٤٩-١٥٣

---

جنگ اُحد ۾ وقتي شڪست جي ڪري مخالفن کي موقعو مليو. اُنهن چوڻ شروع ڪيو تہ پيغمبر ۽ ان جي ساٿين جو معاملو ڪو خدائي معاملو نہ آهي. ڪجھ ماڻهو رڳو باراٽي جوش ۾ اُٿي بيٺا آهن ۽ پنهنجي جوش جي سزا ڀوڳي رهيا آهن. جيڪڏهن اِهو خدائي معاملو هجي ها تہ اُنهن کي پنهنجي دشمن جي مقابلي ۾ شڪست ڇو ٿئي ها. پر اهڙيءَ طرح جا واقعا چاهي بظاهر مسلمانن جي غلطي سان پيش اچن، اُهي هر حال ۾ خدا جو امتحان هوندا آهن. دنيا جي زندگيءَ ۾ ”احد“ جو حادثو پيش اچڻ ضروري آهي تہ جيئن اِهو ظاهر ٿي وڃي تہ ڪير الله تي اعتماد ڪرڻ وارو هو ۽ ڪير ڦري وڃڻ وارو. اِهڙي قسم جا واقعا مؤمن جي لاءِ ٻہ طرفي آزمائش هوندا آهن. هڪ اِهو تہ هو ماڻهن جي مخالفت وارين ڳالهين کان

متاثر نہ ٿئي. پيو اِهو تہ هو وقتي تڪليف کان گهبرائجي نہ وڃي ۽ هر حال ۾ ثابت قدم رهي.

مشڪل موقعن تي اهل ايمان جيڪڏهن ڄميل رهن تہ جلد ائين ٿيندو آهي جو خدا جي مدد رعب جي شڪل ۾ نازل ٿيندي آهي. جيڪو شخص يا جماعت الله جي سچي دين کان سواءِ ڪنهن ٻي شيءِ تي بيٺل هجي تہ هو حقيقت ۾ بي بنياد زمين تي بيٺل آهي. ڇاڪاڻ تہ الله جي نازل ٿيل سچائي کان سواءِ هِن دنيا ۾ ڪوبہ ٻيو حقيقي بنياد نہ آهي. ان ڪري جڏهن ڪو الله جي دين تي قائم هجي ۽ ثابت قدميءَ جو ثبوت ڏي تہ جلد ائين ٿيندو آهي جو اهل باطل جي صفن ۾ انتشار شروع ٿي ويندو آهي. دليلن جي لحاظ کان اُن جو بي بنياد هجڻ اُنهن جي ماڻهن ۾ بي يقينيءَ جي ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏي ٿو. هو پنهنجي پاڻ کي گهٽ ۽ اهل ايمان کي وڏيڪ ڏسڻ لڳندا آهن. انهن جي ذهني شڪست آخر ۾ عملي شڪست تائين پهچندي آهي. هو اهل حق جي مقابلي ۾ ناڪام ۽ نامراد ٿي ويندا آهن.

مسلمانن جي لاءِ شڪست ۽ ڪمزوريءَ جو سبب هميشہ هڪ هوندو آهي ۽ اُهو آهي حڪم ۾ اختلاف. يعني راءِ جي اختلاف جي ڪري ڌار ڌار ٿي وڃڻ. انسانن جي وچ ۾ اتفاق ڪڏهن بہ اُن معنيٰ ۾ قائم نہ ٿو ٿي سگهي جو سڀني جي راءِ بلڪل هڪ ٿي وڃي. ان ڪري ڪنهن جماعت ۾ اتحاد جي صورت صرف اِها آهي جو راءِ ۾ اختلاف جي باوجود عمل ۾ اختلاف نہ ڪيو وڃي. جيستائين ڪنهن جماعت ۾ اِها بلند نظري موجود هوندي، اُها متحد ۽ نتيجي طور طاقتور رهندي ۽ جڏهن راءِ جي اختلاف جي ڪري ماڻهو ڌار ڌار ٿيڻ لڳن تہ ان کان پوءِ لازمي ڪمزوري ۽ اُن جي نتيجي ۾ شڪست ٿيندي آهي.

ثُمَّ اَنْزَلَ عَلَيْكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ الْغَمِّ اَمَنَةً نُّعَاسًا يَّغْشٰى طَآىِٕفَةً مِّنْكُمْ ۙ وَ طَآىِٕفَةٌ قَدْ
اَهَمَّتْهُمْ اَنْفُسُهُمْ يَظُنُّوْنَ بِاللّٰهِ غَيْرَ الْحَقِّ ظَنَّ الْجَاهِلِيَّةِ ؕ يَقُوْلُوْنَ هَلْ لَّنَا مِنَ
الْاَمْرِ مِنْ شَيْءٍ ؕ قُلْ اِنَّ الْاَمْرَ كُلَّهٗ لِلّٰهِ ؕ يُخْفُوْنَ فِيْۤ اَنْفُسِهِمْ مَّا لَا يُبْدُوْنَ لَكَ ؕ
يَقُوْلُوْنَ لَوْ كَانَ لَنَا مِنَ الْاَمْرِ شَيْءٌ مَّا قُتِلْنَا هٰهُنَا ؕ قُلْ لَّوْ كُنْتُمْ فِيْ بُيُوْتِكُمْ لَبَرَزَ
الَّذِيْنَ كُتِبَ عَلَيْهِمُ الْقَتْلُ اِلٰى مَضَاجِعِهِمْ ۚ وَ لِيَبْتَلِيَ اللّٰهُ مَا فِيْ صُدُوْرِكُمْ وَ
لِيُمَحِّصَ مَا فِيْ قُلُوْبِكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿۱۵۴﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ تَوَلَّوْا مِنْكُمْ يَوْمَ
الْتَقَى الْجَمْعٰنِ ۙ اِنَّمَا اسْتَزَلَّهُمُ الشَّيْطٰنُ بِبَعْضِ مَا كَسَبُوْا ۚ وَ لَقَدْ عَفَا اللّٰهُ عَنْهُمْ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿۱۵۵﴾ ع ١٦

پوءِ الله توهان جي مٿان غم کان پوءِ اطمينان نازل ڪيو، يعني اونگهہ. اُن جو توهان جي هڪ جماعت تي غلبو ٿي رهيو هو ۽ هڪ جماعت اُها هُئي جنهن کي پنهنجن جانين جو فڪر هو. هو الله جي باري ۾ ناحق ۽ جاهلاڻا گمان ڪرڻ لڳا. هو چوڻ لڳا تہ ڇا اسان جو بہ ڪجهہ اختيار آهي. چئو سڄو معاملو الله جي اختيار ۾ آهي. هو پنهنجن دلين ۾ اهڙيون ڳالهيون لڪايو وينا آهن جيڪا توهان تي ظاهر نہ ٿا ڪن. هو چوندا آهن تہ جيڪڏهن هِن معاملي ۾ ڪجهہ اسان جو بہ وس هجي ها تہ اسان هِتي نہ ماريا وڃون ها. چئو جيڪڏهن توهان پنهنجن گهرن ۾

هجو ها، تڏهن بہ جن جو قتل ھئڻ لکيل هو. اهي پنهنجن قتل گاهن ڏانهن نڪري اچن ها. اِهو ان ڪري ٿيو جو الله ڪي آزمائڻو هو. جيڪو ڪجهہ توهان جي سينن ۾ آهي ۽ پاڪ ڪرڻو هو جيڪو ڪجهہ توهان جي دلين ۾ آهي ۽ الله ڄاڻي ٿو دلين جي رازن ڪي. توهان مان جيڪي ماڻهو ڦري ويا هئا. انهي ڏينهن جڏهن ٻئي گروهہ آمهون سامهون ٿيا، اُنهن ڪي شيطان اُنهن جي ڪجهہ عملن جي ڪري ٿيڙي ڇڏيو هو. الله اُنهن ڪي معاف ڪري ڇڏيو. بيشڪ الله بخشڻ وارو ۽ بردبار آهي. ١٥٤-١٥٥

---

زندگيءَ جي معرڪي ۾ سڀ ڪان وڌيڪ اهميت اُن ڳالهہ جي هوندي آهي تہ ماڻهوءَ جو سڪون اُن ڪان رخصت نہ ٿئي. هو پوري توجهہ سان پنهنجو منصوبو ٺاهڻ جي قابل رهي. الله تي ڀروسي جي ڪري اهل ايمان ڪي اِها شيءِ ڪمال جي حد تائين حاصل هوندي آهي جو لوڏي ڇڏڻ وارين حالتن ۾ جڏهن ماڻهن جون ننڊون اڏامي ويندڻيون آهن، اُن وقت بہ هو اُن قابل رهندا آهن جو ننڊ ڪري ڀيهر تازا دم ٿي سگهن. اُحد جي موقعي تي ان جو هڪ مظاهرو اهڙيءَ طرح ٿيو جو شڪست کانپوءِ سخت ترين حالتن جي باوجود هو سمهي سگهيا ۽ ٻئي ڏينهن حمراء الاسد تائين دشمن جو پيڇو ڪيو، جيڪو مديني ڪان اٺ ميل جي مفاصلي تي آهي. اُن جي نتيجي ۾ فاتح دشمن رعب ۾ اچي واپس مڪي هليو ويو. اهو سچي اهل ايمان جو حال آهي. پر اُهي ماڻهو جن پوريءَ طرح الله ڪي پنهنجو ولي ۽ سرپرست بڻايو نہ هجي، انهن ڪي هر طرف پنهنجي جان خطري ۾ نظر ايندي آهي. دين جي فڪر ڪان خالي ماڻهو پنهنجي ذات جي فڪر ۾ هوندا آهن هو الله جي مدد يعني اطمينان ۽ سڪون مان پنهنجو حصو نٿا حاصل ڪن.

احد جي موقعي تي عبدالله بن اُبي جي راءِ هئي تہ مديني ۾ رهي جنگ ڪئي وڃي، پر رسول اللهﷺ مخلص مسلمانن جي مشوري تي ٻاهر نڪتا ۽ احد جبل وٽ مقابلو ڪيو. ٽڪريءَ تي مقرر فوجي دستي جي غلطيءَ جي ڪري جڏهن شڪست ٿي تہ اُنهن ماڻهن ڪي موقعو مليو. اُنهن چوڻ شروع ڪيو تہ جيڪڏهن اسان جي ڳالهہ مڃي وڃي ها ۽ مديني ۾ رهي وڙهون ها تہ اِهڙي بربادي‌ءَ جي نوبت نہ اچي ها، پر موت الله جي طرفان آهي ۽ اُتي ئي اچي رهي ٿو جتي اُهو ڪنهن جي لاءِ لکيل هوندو آهي. احتياطي تدبيرون ڪنهن ڪي بہ موت ڪان بچائي نہ ٿيون سگهن. اِهڙا واقعا چاهي بظاهر اُنهن جو سبب جيڪو بہ نظر اچي، اُهي الله جي طرفان هوندا آهن، تہ جيئن الله جا سچا ٻانها الله ڏانهن رجوع ڪري وڌيڪ رحمتن جا مستحق بڻجن ۽ جيڪي سچا نہ آهي انهن جي حقيقت بہ کلي سامهون اچي وڃي. احد جي ٽڪريءَ تي جيڪي پنجاهہ تِيرانداز مقرر هئا، جڏهن اُنهن ڏٺو تہ مسلمانن ڪي فتح ٿي وئي آهي تہ اُنهن مان ڪجهہ ماڻهن اصرار ڪيو تہ هلي مال غنيمت تي قبضو ڪريون. پر عبدالله بن جبير ۽ اُنهن جي ڪجهہ ساٿين چيو تہ نہ، اسان ڪي هر حال ۾ هِتي ئي رهڻو آهي، ڇاڪاڻ تہ اِهوئي رسول اللهﷺ جو حڪم آهي. آخرڪار ٻارهن ڄڻن ڪي ڇڏي باقي ماڻهو هليا ويا. اختلاف جي هِن ڪمزوريءَ ڪري شيطان ڪي اندر داخل ٿيڻ جو رستو ملي ويو. پوءِ جڏهن اُنهن پنهنجي غلطيءَ جو اعتراف ڪيو تہ الله انهن ڪي معاف ڪري ڇڏيو ۽ شروعاتي نقصان ڪان پوءِ اُنهن جي مدد اهڙيءَ طرح ڪئي جو دشمنن جي دلين ۾ رعب وجهي انهن ڪي واپس ڪري ڇڏيو. حالانڪ ان وقت اُهي مديني ڪان صرف ڪجهہ ميل جي مفاصلي تي رهجي ويا هئا.

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ قَالُوْا لِاِخْوَانِهِمْ اِذَا ضَرَبُوْا فِي الْاَرْضِ

اَوْ كَانُوْا غُزًّى لَّوْ كَانُوْا عِنْدَنَا مَا مَاتُوْا وَ مَا قُتِلُوْا ۚ لِيَجْعَلَ اللّٰهُ ذٰلِكَ حَسْرَةً فِيْ
قُلُوْبِهِمْ ۗ وَ اللّٰهُ يُحْيٖ وَ يُمِيْتُ ۗ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿١٥٦﴾ وَ لَئِنْ قُتِلْتُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ
اَوْ مُتُّمْ لَمَغْفِرَةٌ مِّنَ اللّٰهِ وَ رَحْمَةٌ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ﴿١٥٧﴾ وَ لَئِنْ مُّتُّمْ اَوْ قُتِلْتُمْ لَاِالَى
اللّٰهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿١٥٨﴾ فَبِمَا رَحْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ لِنْتَ لَهُمْ ۚ وَ لَوْ كُنْتَ فَظًّا غَلِيْظَ الْقَلْبِ لَا
نْفَضُّوْا مِنْ حَوْلِكَ ۠ فَاعْفُ عَنْهُمْ وَ اسْتَغْفِرْ لَهُمْ وَ شَاوِرْهُمْ فِي الْاَمْرِ ۚ فَاِذَا عَزَمْتَ
فَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ۗ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَوَكِّلِيْنَ ﴿١٥٩﴾ اِنْ يَّنْصُرْكُمُ اللّٰهُ فَلَا غَالِبَ لَكُمْ ۚ وَ اِنْ
يَّخْذُلْكُمْ فَمَنْ ذَا الَّذِيْ يَنْصُرُكُمْ مِّنْ بَعْدِهٖ ۗ وَ عَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿١٦٠﴾

اي ايمان وارؤ! توهان اُنهن ماڻهن وانگر نہ ٿي وڃجو جن انڪار ڪيو. هو پنهنجن ڀائرن بابت چوندا آهن جڏهن هو سفر يا جهاد ۾ نڪرندا آهن ۽ اُنهن کي موت اچي ويندو آهي، تہ جيڪڏهن هو اسان وٽ هجن ها تہ نہ مرن ها ۽ نہ ماريا وڃن ها. تہ جيئن اُن کي الله انهن جي دلين ۾ حسرت جو سبب بڻائي ۽ الله جيئاريندو آهي ۽ ماريندو آهي ۽ جيڪو ڪجهہ توهان ڪريو ٿا، الله اُن کي ڏسي رهيو آهي. ۽ جيڪڏهن توهان الله جي راهہ ۾ ماريا وڃو يا مري وڃو تہ الله جي مغفرت ۽ رحمت اُن کان بهتر آهي، جنهن کي هو جمع ڪري رهيا آهن ۽ جيڪڏهن توهان مري ويا يا ماريا ويا تہ بہ اوهان الله جي حضور ۾ ئي جمع ڪيا ويندؤ. اِها الله جي وڏي رحمت آهي جو تون اُنهن جي لاءِ نرم دل آهين. پر جيڪڏهن تون سخت مزاج ۽ سخت دل هجين ها تہ هو توکان ڇڙوڇڙ ٿي پيچي وڃن ها. بس اُنهن کي معاف ڪر ۽ اُنهن جي لاءِ مغفرت گهر ۽ معاملن ۾ اُنهن کان مشورو ڪر. پوءِ جڏهن فيصلو ڪرين تہ الله تي ڀروسو ڪر. بيشڪ الله اُنهن سان محبت ڪري ٿو جيڪي اُن تي ڀروسو ڪندا آهن. جيڪڏهن الله توهان جو ساٿ ڏي تہ ڪوبہ توهان تي غالب نہ ٿو اچي سگهي ۽ جيڪڏهن هو توهان جو ساٿ ڇڏي ڏي تہ اُن کان پوءِ ڪير آهي جو توهان جي مدد ڪري ۽ الله تي ئي ڀروسو ڪرڻ کپي ايمان وارن کي. ١٥٦-١٦٠

---

هِن دنيا ۾ جيڪو ڪجهہ ٿيندو آهي، الله جي حڪم سان ٿيندو آهي. پر هِتي هر شيءِ تي اسباب جو پردو وڌو ويو آهي. واقعا بظاهر اسباب جي ذريعي ٿيندي نظر اچن ٿا، پر حقيقت ۾ اُهي الله جي حڪم سان ٿي رهيا آهن. ماڻهوءَ جو امتحان اِهو آهي تہ هو ظاهري اسبابن ۾ نہ اٽڪي، بلڪ انهن جي پويان ڪم ڪرڻ واري الله جي قدرت کي ڏسي وٺي. غير مؤمن اُهو آهي جيڪو اسباب ۾ گم ٿي وڃي ۽ مؤمن اُهو آهي جيڪو اسباب کان گذري اصل حقيقت تائين پهچي وڃي. هڪ شخص مؤمن هئڻ جي دعويٰ ڪري، پر اُن سان گڏوگڏ اُن جو حال اِهو هجي تہ زندگي ۽ موت، ڪاميابي ۽ ناڪامي کي هو تدبيرن جو نتيجو سمجهندو هجي تہ اُن جي ايمان جي دعويٰ معتبر نہ آهي. غير مؤمن سان ڪو حادثو پيش اچي ٿو تہ هو اُن غم ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي تہ مون فلاڻي تدبير ڪئي هجي ها تہ آءٌ حادثي کان بچي وڃان ها. پر مؤمن سان جڏهن ڪو حادثو پيش اچي ٿو تہ هو اِهو سوچي مطمئن رهندو آهي تہ الله جي مرضي اِهائي هئي. جيڪي ماڻهو دنياوي اسباب کي اهميت ڏين ٿا تہ اهي پنهنجي سڄي زندگي دنيا جي شين کي حاصل ڪرڻ ۾ لڳائي ڇڏيندا آهن. ”مرڻ“ کان وڌيڪ ”جيئڻ“ اُنهن کي محبوب ٿي ويندو

آهي. پر حاصل ڪرڻ جي اصل شيءِ اِها آهي جيڪا آخرت ۾ آهي. يعني الله جي جنت ۽ مغفرت. ۽ جنت اُها شيءِ آهي جنهن کي صرف زندگيءَ جي قيمت تي ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو. ماڻهوءَ جو وجود ئِي جنت جي واحد قيمت آهي. ماڻهو جيڪڏهن پنهنجي وجود کي پيش نه ڪري ته هو ڪنهن ٻي شيءِ جي ذريعي جنت حاصل نه ٿو ڪري سگهي.

اهل ايمان سان جنهن اجتماعي سلوڪ جو حڪم پيغمبر کي ڏنو ويو آهي، اُهوئي عام مسلم سربراهه جي لاءِ به آهي. مسلم سربراهه جي لاءِ ضروري آهي ته هو نرم دل ۽ نرم گفتار هجي. اِها نرمي صرف روزانه جي عام زندگيءَ ۾ ئي مطلوب نه آهي، بلڪ اهڙن غير معمولي موقعن تي به مطلوب آهي، جڏهن ته اسلام ۽ غير اسلام جي جنگ جي وقت ماڻهن ڪان هڪ حڪم جي نافرماني ٿي وئي هجي ۽ اُن جي نتيجي ۾ کٽيل جنگ شڪست ۾ بدلجي وڃي. سربراهه جي اندر جيستائين اِها وسعت ۽ بلندي نه هجي ته مضبوط اجتماعيت قائم نٿي ٿي سگهي. غلطي چاهي ڪيتري به وڏي هجي، جيڪڏهن اُها صرف هڪ غلطي آهي ۽ شرپسندي نه آهي ته اُها معافيءَ جي قابل آهي. سربراهه کي گهرجي ته هو اهڙيءَ هر غلطي کي وساري ماڻهن سان معاملو ڪري. هو ماڻهن جو ايتري قدر خيرخواه هجي جو انهن جي حق ۾ اُن جي دل مان دعائون نڪرڻ لڳن. هن جي نظر ۾ ماڻهن جو ايترو ته قدر هجي جو هو معاملن ۾ انهن ڪان مشورو وٺي. جڏهن ماڻهوءَ کي اِهو يقين هجي ته جيڪو ڪجهه ٿيندو آهي الله جي ڪرڻ سان ٿيندو آهي ته اُن ڪان پوءِ انساني وسيلا ۽ سبب هن جي نظر ۾ قابل لحاظ نٿا رهن.

وَ مَا كَانَ لِنَبِيٍّ اَنْ يَّغُلَّ ؕ وَ مَنْ يَّغْلُلْ يَاْتِ بِمَا غَلَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۚ ثُمَّ تُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا
كَسَبَتْ وَ هُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿١٦١﴾ اَفَمَنِ اتَّبَعَ رِضْوَانَ اللّٰهِ كَمَنْۢ بَآءَ بِسَخَطٍ مِّنَ اللّٰهِ وَ
مَاْوٰىهُ جَهَنَّمُ ؕ وَ بِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿١٦٢﴾ هُمْ دَرَجٰتٌ عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِمَا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٦٣﴾
لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَ
يُزَكِّيْهِمْ وَ يُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَ الْحِكْمَةَ ۚ وَ اِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿١٦٤﴾ النصف

۽ نبيءَ جو اِهو ڪم نه آهي ته هو ڪجهه لڪائي رکي ۽ جيڪو به لڪائيندو، هو پنهنجي لڪايل شيءِ کي قيامت جي ڏينهن حاضر ڪندو. پوءِ هر جيءَ کي سندس ڪيل ڪمائي جو پورو پورو بدلو ملندو ۽ اُنهن تي ڪجهه ظلم نه ڪيو ويندو. ڇا اُهو شخص جيڪو الله جي رضا تي هلڻ وارو آهي، هو اُن شخص وانگر ٿي سگهي ٿو جيڪو الله جو غضب ڪٽي موٽي ۽ اُن جو ٺڪاڻو جهنم آهي ۽ اُها ڪهڙي نه بڇڙي جاءِ آهي. الله وٽ اُنهن جا درجا الڳ الڳ هوندا. ۽ الله ڏسي رهيو آهي جيڪو ڪجهه ڪندا آهن. الله ايمان وارن تي احسان ڪيو جو سندن منجهان ئي هڪ رسول موڪليائين، جيڪو کين الله جون آيتون پڙهائي ٿو ۽ کين پاڪ ڪري ٿو ۽ کين ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏي ٿو. بيشڪ اُن ڪان اڳ اُهي پڌري گمراهي ۾ هئا. ١٦١-١٦٤

---

احد جي ٽڪريءَ تي مقرر جن چاليهه ماڻهن نافرماني ڪئي هئي، رسول الله ﷺ اُنهن کي معاف ڪري ڇڏيو، پوءِ به اُنهن ماڻهن کي اِهو شڪ هو ته پاڻ ﷺ شايد ظاهري طرح اسان کي معاف ڪيو آهي.

پاڻ ﷺ دل ۾ ائين ناراض آهن ۽ ڪنهن به وقت اسان تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندا. فرمايو ويو ته اِهو پيغمبر جو طريقو نه آهي. پيغمبر اندر ۽ ٻاهر هڪ هوندو آهي. اُن مان اِهو اندازو ٿيندو آهي ته مسلمانن جي سربراهه کي ڪهڙو هئڻ گهرجي. مسلم سربراهه جي دل اهڙي هئڻ گهرجي جو ان جي اندر بغض، نفرت، ڪِيني ۽ حسد جي بلڪل به جاءِ نه هجي. ايستائين جو اُن وقت به نه جڏهن هُن جي ساٿين کان هڪ وڏي غلطي ٿي وئي هجي. مسلم سربراهه کي گهرجي ته هو وڏي مان وڏي غلطي ڪرڻ وارن جي خلاف به دل ۾ ڪو جذبو لڪائي نه رکي. اڄوڪي ڏينهن تي اُنهن سان اهڙيءَ طرح رهي جيئن گذريل ڏينهن اُنهن کان ڪجهه به غلط نه ٿيو هو. اهڙيءَ طرح اِهو به ضروري آهي ته مسلمانن جي ڪا جماعت جڏهن هڪ سربراهه تي اعتماد ڪري پنهنجا معاملا اُن جي حوالي ڪري ڇڏي ته سربراهه کي ائين هرگز نه ڪرڻ گهرجي ته اُنهن جي جان ۽ مال کي هو پنهنجن ذاتي حوصلن ۽ تمنائن کي پورو ڪرڻ لاءِ قربان ڪري ڇڏي. اِهو الله جي غضب کان بي خوف ٿيڻو آهي. جيڪو شخص ماڻهن کي اِهو ٻڌائڻ لاءِ اٿيو هجي ته ماڻهو الله جي مرضيءَ تي هلن، اُهو پاڻ ڪيئن اُن حال ۾ الله سان ملڻ پسند ڪندو جو هو الله جي مرضيءَ جي خلاف هليو هجي.

پيغمبر پنهنجي زندگيءَ جو جيڪو مثالي نمونو قائم ڪيو آهي، قيامت تائين ايندڙن سيني اصلاح ڪندڙن کي اُن جي مطابق بڻجڻو آهي. اصلاح جي ڪم جي لاءِ ضروري آهي ته جيڪو شخص جن ماڻهن جي وچ ۾ ڪم ڪرڻ جي لاءِ اُٿي، اُنهن کي هو هر لحاظ کان ”پنهنجو“ نظر اچي، اُن جي زبان، ان جي گفتگوءَ جو ڍنگ، ان جي رهڻي ڪهڻي ۽ هر شيءِ اجنبيت کان پاڪ هجي. هو پنهنجي ۽ پنهنجن مخاطبن جي وچ ۾ اِهڙي فضا نه بڻائي جيڪا ڪنهن به صورت ۾ هڪ ٻئي کي پري ڪرڻ واري هجي يا هڪ کي ٻئي جي مقابلي ۾ بيهاري ڇڏي. ماڻهن ۾ جيڪو ڪم ڪرڻو آهي اُهو سڀ کان پهرين اِهو آهي ته ماڻهن جي اندر اِها صلاحيت پيدا ڪئي وڃي ته هو الله جي نشانين کي سمجهڻ جي قابل ٿي وڃن، جيڪي انهن جي ذات ۾ ۽ ٻاهر جي دنيا ۾ پکڙيل آهن. هو الله جي دليلن کي سمجهي پنهنجي ذهن جو جز بڻائين. ٻيو ڪم تزڪيه آهي. اُهو مقصد زباني گفتگو ۽ صحبت جي ذريعي حاصل ٿيندو آهي. عام تحرير ۽ تقرير ۾ ڳالهه گهڻو ڪري اصولي انداز ۾ ٿيندي آهي، جڏهن ته انفرادي گفتگو ۾ ڳالهه وڌيڪ واضح ۽ تفصيل سان ٿيندي آهي. وڌيڪ اِهو ته داعيءَ جو پنهنجو وجود به اُن کي تقويت ڏيڻ جي لاءِ موجود هوندو آهي. عام ڳالهه ٻولهه جيڪڏهن دعوت هوندي آهي ته انفرادي ملاقاتون ٻڌڻ واري جي لاءِ تزڪيه جو سبب بڻجي وڃن ٿيون. ٽين شيءِ ڪتاب آهي. يعني زندگي گذارڻ لاءِ آسماني هدايتن کي ٻڌائڻ، جنهن جو ٻيو نالو شريعت آهي ۽ چوٿين شيءِ حڪمت آهي. يعني دين جي گهرن رازن تان پردو کڻڻ، تحرير ۾ لڪيل حقيقتن کي پڌرو ڪرڻ.

أَوَلَمَّآ أَصَٰبَتۡكُم مُّصِيبَةٞ قَدۡ أَصَبۡتُم مِّثۡلَيۡهَا قُلۡتُمۡ أَنَّىٰ هَٰذَاۖ قُلۡ هُوَ مِنۡ عِندِ
أَنفُسِكُمۡۗ إِنَّ ٱللَّهَ عَلَىٰ كُلِّ شَيۡءٖ قَدِيرٞ ١٦٥ وَمَآ أَصَٰبَكُمۡ يَوۡمَ ٱلۡتَقَى ٱلۡجَمۡعَانِ فَبِإِذۡنِ
ٱللَّهِ وَلِيَعۡلَمَ ٱلۡمُؤۡمِنِينَ ١٦٦ وَلِيَعۡلَمَ ٱلَّذِينَ نَافَقُواْۚ وَقِيلَ لَهُمۡ تَعَالَوۡاْ قَٰتِلُواْ فِي

سَبِيْلِ اللّٰهِ اَوِ ادْفَعُوْا ؕ قَالُوْا لَوْ نَعْلَمُ قِتَالًا لَّا اتَّبَعْنٰكُمْ ؕ هُمْ لِلْكُفْرِ يَوْمَئِذٍ اَقْرَبُ
مِنْهُمْ لِلْاِيْمَانِ ۚ يَقُوْلُوْنَ بِاَفْوَاهِهِمْ مَّا لَيْسَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ ؕ وَ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا
يَكْتُمُوْنَ ﴿١٦٧﴾ اَلَّذِيْنَ قَالُوْا لِاِخْوَانِهِمْ وَ قَعَدُوْا لَوْ اَطَاعُوْنَا مَا قُتِلُوْا ؕ قُلْ فَادْرَءُوْا عَنْ
اَنْفُسِكُمُ الْمَوْتَ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٦٨﴾

۽ جڏهن توهان کي اِهڙي مصيبت پُهتي، جهڙي ٻيڻي مصيبت توهان پهچائي هئي، تہ توهان چيو اِها ڪٿان آئي. چؤ اِها توهان کي پاڻ کان ئي پهتي آهي. بيشڪ الله هر شيءِ تي قادر آهي. ۽ ٻنهي ڌرين جي آمهون سامهون ٿيڻ واري ڏينهن توهان کي جيڪا مصيبت پهتي، اُها الله جي حڪم سان پهتي ۽ ان ڪري جو الله مؤمنن کي ڄاڻي وٺي ۽ اُنهن کي بہ ڄاڻي وٺي جيڪي منافق هئا، جن کي چيو ويو تہ اچو الله جي راهہ ۾ وڙهو يا دشمن کي روڪيو، اُنهن چيو جيڪڏهن جنگ ٿيڻ جو اسان کي علم هجي ها تہ اسان ضرور توهان سان گڏ هلون ها. اِهي ماڻهو اُنهيءَ ڏينهن ايمان کان وڌيڪ ڪفر جي ويجهو هئا. هو پنهنجي واتان اُها ڳالهہ چوندا آهن جيڪا اُنهن جي دل ۾ نہ آهي ۽ الله ان شيءِ کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو جنهن کي هو لڪائين ٿا. اِهي ماڻهو جيڪي پاڻ تہ پوئتي ويٺا رهيا، پنهنجن ڀائرن لاءِ چوندا آهن تہ جيڪڏهن هو اسان جي ڳالهہ مڃين ها تہ ماريا نہ وڃن ها. چؤ توهان پاڻ تان موت کي ٽاري ڏيکاريو، جيڪڏهن توهان سچا آهيو. ١٦٥-١٦٨

---

حق ۽ باطل جي مقابلي ۾ آخري فتح حق جي هوندي آهي. ڇاڪاڻ تہ الله هميشہ حق سان گڏ هوندو آهي. جيئن تہ هي دنيا امتحان جي دنيا آهي. هتي شرپسندن کي بہ عمل جي پوري آزادي آهي. اُن ڪري ڪڏهن ائين ٿيندو آهي تہ اهل حق جي ڪنهن ڪمزوري مثلاً پاڻ ۾ اختلاف کان فائدو وٺي شرپسند اُنهن کي وقتي نقصان پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن. جيئن تہ اهڙيءَ طرح جي واقعن جو هڪ فائدي وارو پهلو بہ آهي تہ اُن جي ذريعي خود مسلمانن جي جماعت جي جانچ ٿي ويندي آهي. مشڪل حالتن کي ڏسي غير مخلص ماڻهو ڌار ٿي ويندا آهن ۽ جيڪي سچا مسلمان هوندا آهن اُهي الله تي ڀروسو ڪندي ثابت قدم رهندا آهن. اهڙيءَ طرح خبر پئجي ويندي آهي تہ ڪير ڀروسي جي قابل آهي ۽ ڪير ڀروسي جي قابل نہ آهي. وڌيڪ اِهو تہ اتفاقي غلطي جي نقصان کڻڻ کان پوءِ جڏهن اهل ايمان ڀيهر صبر سان الله ڏانهن رجوع ڪندي الله تي توڪل جو ثبوت ڏيندا آهن تہ الله جي رحمت اُنهن ڏانهن اڳ کان بہ وڌيڪ متوجهہ ٿيندي آهي.

حق ۽ باطل جي معرڪي ۾ جيڪي ماڻهو اهڙيءَ طرح شريڪ ٿين جو اُنهيءَ راهہ ۾ پنهنجي پاڻ کي مٽائي ڇڏين، اُنهن بابت دنيا وارا اڪثر افسوس سان چوندا آهن تہ اُنهن اجايو پنهنجي پاڻ کي برباد ڪري ڇڏيو. پر اِها صرف ناداني‌ءَ جي ڳالهہ آهي. الله جي راهہ ۾ وڃائڻ ئي تہ سڀ کان وڌيڪ پائڻ آهي. ڇاڪاڻ تہ جيڪي ماڻهو الله جي راهہ ۾ پنهنجو سڀ ڪجهہ قربان ڪري ڇڏين، اُهي ئي اهي ماڻهو آهن جيڪي سڀ کان وڌيڪ الله جي انعامن جا مستحق قرار ڏنا ويندا.

الله جي راهہ ۾ جان ڏيڻ وارن جو ذڪر نادان ماڻهو اهڙيءَ طرح ڪندا آهن جيئن ٻين راهن ۾ پنهنجون زندگيون لڳائڻ وارن تي موت نہ تو اچي. جيئن صرف الله جي راهہ جا مجاهد ئي مرندا آهن ۽ ٻيا ماڻهو مرندا ئي نہ آهن. ظاهر آهي تہ اِها ڳالهہ سراسر بي معنيٰ آهي. موت الله جو هڪ عام قانون

آهي. اُهو بهرحال هر هڪ جي لاءِ پنهنجي وقت تي اچڻ وارو آهي. ماڻهو چاهي هڪ رستي تي هلي رهيو هجي يا ٻئي رستي تي، هو ڪنهن بہ حالت ۾ موت جي انجام کان بچي نہ ٿو سگهي.

جيڪي ماڻهو هن قسم جون ڳالهيون ڪندا آهن، اهي ڪڏهن بہ پنهنجي ڳالهہ ۾ سنجيده نہ هوندا آهن. انهن جي دل تہ اعتراف ڪري رهي هوندي آهي تہ حق جي لاءِ قرباني نہ ڏئي ڪري انهن سخت غلطي ڪئي آهي، پر زبان مان قرباني ڪرڻ وارن کي ملامت ڪري هو پنهنجي ظاهري ڀرم کي قائم رکڻ چاهيندا آهن. اهي پنهنجي واتان اِهڙا لفظ ڳالهيندا آهن جن جي باري ۾ خود انهن جي دل گواهي ڏئي رهي هوندي آهي تہ اُهي ڪوڙا لفظ آهن. اُنهن جي اصل ۾ ڪا بہ حقيقت نہ آهي.

وَ لَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ قُتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتًا ؕ بَلْ اَحْيَآءٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ يُرْزَقُوْنَ ۙ﴿۱۶۹﴾
فَرِحِيْنَ بِمَآ اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ۙ وَ يَسْتَبْشِرُوْنَ بِالَّذِيْنَ لَمْ يَلْحَقُوْا بِهِمْ مِّنْ
خَلْفِهِمْ ۙ اَلَّا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۱۷۰﴾ يَسْتَبْشِرُوْنَ بِنِعْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ وَ فَضْلٍ ۙ
وَّ اَنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۷۱﴾ ۚ اَلَّذِيْنَ اسْتَجَابُوْا لِلّٰهِ وَ الرَّسُوْلِ مِنْۢ بَعْدِ مَآ
اَصَابَهُمُ الْقَرْحُ ۛؕ لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا مِنْهُمْ وَ اتَّقَوْا اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿۱۷۲﴾ ۚ اَلَّذِيْنَ قَالَ لَهُمُ
النَّاسُ اِنَّ النَّاسَ قَدْ جَمَعُوْا لَكُمْ فَاخْشَوْهُمْ فَزَادَهُمْ اِيْمَانًا ۖۗ وَّ قَالُوْا حَسْبُنَا اللّٰهُ
وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ ﴿۱۷۳﴾ فَانْقَلَبُوْا بِنِعْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ وَ فَضْلٍ لَّمْ يَمْسَسْهُمْ سُوْٓءٌ ۙ وَّ اتَّبَعُوْا
رِضْوَانَ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ ذُوْفَضْلٍ عَظِيْمٍ ﴿۱۷۴﴾ اِنَّمَا ذٰلِكُمُ الشَّيْطٰنُ يُخَوِّفُ اَوْلِيَآءَهٗ ۠ فَلَا
تَخَافُوْهُمْ وَخَافُوْنِ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۷۵﴾

۽ جيڪي ماڻهو الله جي راهہ ۾ ماريا ويا، اُنهن کي مئل نہ سمجهو. بلڪ اهي زنده آهن پنهنجي رب وٽ. اُنهن کي روزي ملي رهي آهي. اُهي خوش آهن اُن تي جيڪو الله پنهنجي فضل مان اُنهن کي ڏنو آهي ۽ خوشخبري وٺي رهيا آهن تہ جيڪي ماڻهو اُنهن جي پٺيان رهجي ويا آهن ۽ اجا اُتي نہ پهتا آهن، اُنهن جي لاءِ بہ نہ ڪو خوف آهي ۽ نہ هو غمگين ٿيندا. اُهي خوش ٿي رهيا آهن الله جي انعام ۽ فضل تي ۽ اُن تي تہ الله ايمان وارن جو اجر ضايع نہ ٿو ڪري. جن ماڻهن الله ۽ رسول جو حڪم مڃيو، ان ڪانپوءِ جو اُنهن کي زخم لڳي چڪو هو، اُنهن مان جيڪي نيڪ ۽ پرهيزگار آهن، اُنهن جي لاءِ وڏو اجر آهي، جن کي ماڻهن چيو تہ دشمن توهان جي خلاف وڏي طاقت جمع ڪري ورتي آهي اُن کان ڊڄو. پر ان شيءِ اُنهن جي ايمان کي اڃا وڌائي ڇڏيو ۽ اُنهن چيو الله اسان جي لاءِ ڪافي آهي ۽ هو بهترين ڪارساز آهي. پوءِ اُهي الله جي نعمت ۽ اُن جي فضل سان واپس موٽي آيا. انهن کي ڪوبہ نقصان نہ پهتو ۽ اُنهن الله جي رضا جي تابعداري ڪئي ۽ الله وڏي فضل وارو آهي. اِهو شيطان آهي جيڪو توهان کي پنهنجن دوستن جي ذريعي ڊيڄاريندو آهي. توهان اُنهن کان نہ ڊڄو، بلڪ مون کان ڊڄو جيڪڏهن توهان مؤمن آهيو. ١٦٩-١٧٥

---

جيڪي ماڻهو اسلام جي دشمنن سان وڙهيا ۽ شهيد ٿيا، اُنهن کي منافقَ ”بي فائدي موت“

چوندا هئا. اُنهن جو خيال هو ته اهي مسلمان هڪ شخص جي ورغلائڻ ۾ اچي پنهنجون جانيون وڃائي رهيا آهن. فرمايو ويو ته جنهن کي توهان موت سمجهو ٿا اُها ئي حقيقت ۾ زندگي آهي. توهان صرف دنيا جو نفعو ۽ نقصان چاٽندا آهيو. اهوئي سبب آهي جو آخرت جي راهه ۾ جان ڏيڻ توهان کي پنهنجي پاڻ کي برباد ڪرڻ لڳندو آهي، پر الله جي راهه ۾ مرڻ وارن کي توهان کان به وڌيڪ بهتر زندگي مليل آهي. هو آخرت ۾ توهان کان وڌيڪ عيش جي حالت ۾ آهن.

شيطان جو طريقو اِهو آهي ته هو جن انسانن کي پنهنجي ويجهو ڏسي ٿو ته اُنهن کي ورغلائي ٿو، ته جيئن اهي دين جي طرف وڌڻ جا خوفناڪ نتيجا ڏيکاري ماڻهن کي دين جي محاذ تان هٽائي ڇڏين. اِهي ماڻهو دين جي مخالفن جي قوت وڌائي بيان ڪندا آهن، ته جيئن اهل ايمان ڊڄي وڃن. پر اهڙي قسم جون ڳالهيون ايمان وارن جي حق ۾ فائديمند ثابت ٿينديون آهن، ڇاڪاڻ ته اُنهن جو اِهو يقين اڃا به وڌي وڃي ٿو ته مشڪل حالتن ۾ انهن جو خدا اُنهن کي اڪيلو نه ڇڏيندو.

احد جي جنگ مديني کان تقريبًا ٻن ميلن جي مفاصلي تي ٿي. جنگ کانپوءِ ڪافرن جو لشڪر ابوسفيان جي قيادت ۾ واپس روانو ٿيو. مديني کان اَٺ ميل پري حمراء الاسد پهچي اُهي ترسيا. اُتي انهن کي اِها ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته احد کان واپس ٿي اُنهن وڏي غلطي ڪئي آهي. اِهو بهترين موقعو هو ته مديني تائين مسلمانن جي پويان لڳجي ها ۽ اُنهن جي طاقت کي مڪمل طور ختم ڪري ڇڏجي ها. اُنهيءَ وچ ۾ اُنهن کي عبدالقيس قبيلي جو هڪ تجارتي قافلو مليو جيڪو مديني وڃي رهيو هو. ڪافرن اُن قافلي کي ڪجهه رقم ڏئي چيو ته هو مديني پهچي اهڙيون خبرون پکيڙين جنهن سان مسلمان ڊڄي وڃن. قافلي وارن مديني پهچي چوڻ شرع ڪيو ته اسان ڏسي آيا آهيون ته مڪي وارا وڏو لشڪر جمع ڪري رهيا آهن ۽ ٻيهر مديني تي حملو ڪرڻ وارا آهن، پر مسلمانن جو الله تي ڀروسو اُن ڳالهه جي ضمانت بڻجي ويو ته ڪافرن جي تدبير اُبتي ٿي وڃي. اُن جو فائدو اِهو ٿيو جو مسلمان پنهنجي دشمن جي ارادي کان باخبر ٿي ويا. اُن کان پهرين جو مڪي وارن جي فوج مديني ڏانهن اچي، هو پاڻ پيغمبر جي رهنمائيءَ ۾ پنهنجو لشڪر ٺاهي تيزي سان حمراء الاسد ڏانهن روانا ٿيا. مڪي وارن کي جڏهن اِها خبر ملي ته مسلمانن جي فوج پيش قدمي ڪري انهن ڏانهن اچي رهي آهي ته اُنهن سمجهيو ته مسلمانن کي نئين مدد ملي وئي آهي. هو گهبرائجي مڪي ڏانهن واپس موٽي ويا.

وَ لَا يَحْزُنْكَ الَّذِيْنَ يُسَارِعُوْنَ فِي الْكُفْرِ ۚ اِنَّهُمْ لَنْ يَّضُرُّوا اللّٰهَ شَيْـًٔا ؕ يُرِيْدُ اللّٰهُ اَلَّا
يَجْعَلَ لَهُمْ حَظًّا فِي الْاٰخِرَةِ ۚ وَ لَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿١٧٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الْكُفْرَ
بِالْاِيْمَانِ لَنْ يَّضُرُّوا اللّٰهَ شَيْـًٔا ۚ وَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٧٧﴾ وَ لَا يَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْۤا
اَنَّمَا نُمْلِيْ لَهُمْ خَيْرٌ لِّاَنْفُسِهِمْ ؕ اِنَّمَا نُمْلِيْ لَهُمْ لِيَزْدَادُوْۤا اِثْمًا ۚ وَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿١٧٨﴾
مَا كَانَ اللّٰهُ لِيَذَرَ الْمُؤْمِنِيْنَ عَلٰى مَاۤ اَنْتُمْ عَلَيْهِ حَتّٰى يَمِيْزَ الْخَبِيْثَ مِنَ الطَّيِّبِ ؕ وَ مَا

كَانَ اللّٰهُ لِيُطْلِعَكُمْ عَلَى الْغَيْبِ وَ لٰكِنَّ اللّٰهَ يَجْتَبِيْ مِنْ رُّسُلِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ۠ فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ
وَ رُسُلِهٖ ۚ وَاِنْ تُؤْمِنُوْا وَ تَتَّقُوْا فَلَكُمْ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿١٧٩﴾

۽ اُهي ماڻهو تنهنجي لاءِ غم جو سبب نہ بڻجن جيڪي ڪفر جي راهہ ۾ ڊڪ ڊوڙ ڪري رهيا آهن. هو الله ڪي ڪڏهن بہ ڪو نقصان پهچائي نہ ٿا سگهن. الله چاهي ٿو تہ انهن جي لاءِ آخرت ۾ ڪوبہ حصو نہ رکي. انهن جي لاءِ وڏو عذاب آهي. جن ماڻهن ايمان جي بدلي ڪفر خريد ڪيو آهي، اُهي الله جو ڪجهہ بہ بگاڙي نہ ٿا سگهن ۽ انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي. ۽ جيڪي ماڻهو ڪفر ڪري رهيا آهن، اِهو خيال نہ ڪن تہ اسان جيڪا انهن کي مهلت ڏئي رهيا آهيون، اِها انهن جي حق ۾ بهتر آهي. اسان تہ بس انهي لاءِ مهلت ڏئي رهيا آهيون تہ هو جرم ۾ اڳيا وڌي وڃن ۽ انهن جي لاءِ ذليل ڪرڻ وارو عذاب آهي. الله اهو نہ آهي جو مسلمانن کي اِنهيءَ حالت ۾ ڇڏي ڏي جنهن تي توهان هينئر آهيو. جيستائين هو ناپاڪ کي پاڪ کان جدا نہ ڪري ڇڏي ۽ ائين نہ آهي جو الله توهان کي غيب جي خبر ڏي، پر الله پنهنجن رسولن مان جنهن کي گهري تنهن کي چونڊي ٿو. پوءِ توهان ايمان آڻيو الله تي ۽ اُن جي رسولن تي ۽ جيڪڏهن توهان ايمان آڻيو ۽ پرهيزگاري اختيار ڪريو تہ توهان جي لاءِ وڏو اجر آهي. ١٧٦-١٧٩

---

زندگيءَ جو اصل مسئلو اِهو نہ آهي جيڪو ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. اصل مسئلو اِهو آهي جيڪو اکين کان لِڪل آهي. ماڻهو دنيا جي جهنم کان بچڻ جو فڪر ڪندا آهن ۽ پنهنجي سڄي توجهہ دنيا جي جنت کي حاصل ڪرڻ ۾ لڳائي ڇڏيندا آهن. پر وڌيڪ عقلمنديءَ جي ڳالهہ اِها آهي جو ماڻهو آخرت جي جهنم کان پنهنجي پاڻ کي بچائي ۽ اُتي جي جنت ڏانهن ڊوڙي. دنيا ۾ پيسي وارو هجڻ ۽ بنا پيسي وارو هجڻ، جائداد وارو هجڻ ۽ بغير جائداد وارو هجڻ، عزت وارو هجڻ ۽ بي عزت هجڻ، اِهي سڀ اُهي شيون آهن جيڪي هر ماڻهوءَ کي اکين سان ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ان لاءِ هو اُنهن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڊوڙي ٿو. هو پنهنجي سڄي ڪوشش ان مقصد ۾ لڳائي ڇڏي ٿو تہ جيئن هو هِتي محروم نہ رهي. پر انسان جو اصل مسئلو آخرت جو مسئلو آهي، جنهن کي الله امتحان جي مصلحت جي ڪري لڪائي ڇڏيو آهي ۽ اُن کان ماڻهن کي خبردار ڪرڻ جي لاءِ اِهو طريقو مقرر فرمايو آهي تہ هو پنهنجي ڪجهہ ٻانهن کي غيب جون خبرون پهچائڻ لاءِ چونڊي، اُنهن کي موت جي هُن پار جي حقيقتن کان خبردار ڪري ۽ پوءِ انهن کي مقرر ڪري تہ هو ٻين کي اُن کان باخبر ڪن. انسان جي اصل جانچ اِها آهي تہ هو خدا جي داعيءَ جي آواز ۾ سچائيءَ کي سڃاڻي وٺي. هو هڪ لفظي پڪار ۾ حقيقت جي عملي تصوير ڏسي وٺي. هو پاڻ جهڙي هڪ انسان جي ڳالهين ۾ خدائي ڳالهہ جو پڙاڏو ٻڌي وٺي.

ايمان اِهو آهي تہ ماڻهو خود پسندي نہ ڪري، ڇاڪاڻ تہ خود پسندي الله جي بجاءِ پنهنجي پاڻ کي وڏائي جو مقام ڏيڻ آهي. هو دنيا ۾ غرق نہ ٿئي، ڇاڪاڻ تہ دنيا ۾ غرق ٿيڻ ظاهر ڪري ٿو تہ ماڻهو آخرت کي اصل اهميت نہ ٿو ڏي. هو تڪبر، بخل، نا انصافي ۽ غير الله جي عقيدت ۽ محبت کان پنهنجو پاڻ کي بچائي ۽ اُن جي بجاءِ خدا پرستي، نوڙت، سخاوت ۽ انصاف پسنديءَ کي پنهنجو طور طريقو بڻائي. ائين ڪرڻ ثابت ڪري ٿو تہ ماڻهو پنهنجي ايمان ۾ سنجيده آهي. هُن حقيقت ۾ پنهنجي پاڻ کي خدا ۽ آخرت جي طرف لڳائي ڇڏيو آهي ۽ ائين نہ ڪرڻ ظاهر ڪري ٿو تہ هو پنهنجي ايمان ۾ سنجيده نہ آهي. ايمان جي اقرار جي باوجود عملي طور هو انهيءَ دنيا ۾ جِي رهيو آهي جتي ٻيا ماڻهو

جي رهيا آهن. آخرت ۾ خبيث روحن ۽ پاڪ روحن جي جيڪا تقسيم ٿيندي اُها حقيقت جي لحاظ سان هوندي نہ وري رڳو ظاهري نمائش جي لحاظ کان هوندي. دنيا ۾ برن ماڻهن کي جيڪا ڇوٽ ڏني وئي آهي، اِها صرف انهيءَ لاءِ آهي تہ اهي پنهنجي اندر جي برائيءَ کي پوري طرح ظاهر ڪري ڇڏين. پر هو چاهي ڪيتري بہ ڪوشش ڪن، اهل حق کي مغلوب ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿا ٿي سگهن. هو پنهنجي آزاديءَ کي صرف پنهنجي خلاف استعمال ڪري سگهن ٿا نہ وري ٻين جي خلاف.

وَ لَا يَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ يَبْخَلُوْنَ بِمَاۤ اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ هُوَ خَيْرًا لَّهُمْ ؕ بَلْ هُوَ شَرٌّ
لَّهُمْ ؕ سَيُطَوَّقُوْنَ مَا بَخِلُوْا بِهٖ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ وَ لِلّٰهِ مِيْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ وَ اللّٰهُ
بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿١٨٠﴾ لَقَدْ سَمِعَ اللّٰهُ قَوْلَ الَّذِيْنَ قَالُوْۤا اِنَّ اللّٰهَ فَقِيْرٌ وَّ نَحْنُ اَغْنِيَآءُ ۘ ع ١٨ ٩
سَنَكْتُبُ مَا قَالُوْا وَ قَتْلَهُمُ الْاَنْۢبِيَآءَ بِغَيْرِ حَقٍّ ۙ وَّ نَقُوْلُ ذُوْقُوْا عَذَابَ الْحَرِيْقِ ﴿١٨١﴾
ذٰلِكَ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْكُمْ وَ اَنَّ اللّٰهَ لَيْسَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ۚ﴿١٨٢﴾ اَلَّذِيْنَ قَالُوْۤا اِنَّ اللّٰهَ
عَهِدَ اِلَيْنَاۤ اَلَّا نُؤْمِنَ لِرَسُوْلٍ حَتّٰى يَاْتِيَنَا بِقُرْبَانٍ تَاْكُلُهُ النَّارُ ؕ قُلْ قَدْ جَآءَكُمْ
رُسُلٌ مِّنْ قَبْلِيْ بِالْبَيِّنٰتِ وَ بِالَّذِيْ قُلْتُمْ فَلِمَ قَتَلْتُمُوْهُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٨٣﴾ فَاِنْ
كَذَّبُوْكَ فَقَدْ كُذِّبَ رُسُلٌ مِّنْ قَبْلِكَ جَآءُوْ بِالْبَيِّنٰتِ وَ الزُّبُرِ وَ الْكِتٰبِ الْمُنِيْرِ ﴿١٨٤﴾ كُلُّ
نَفْسٍ ذَآئِقَةُ الْمَوْتِ ؕ وَ اِنَّمَا تُوَفَّوْنَ اُجُوْرَكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ فَمَنْ زُحْزِحَ عَنِ النَّارِ وَ
اُدْخِلَ الْجَنَّةَ فَقَدْ فَازَ ؕ وَ مَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَاۤ اِلَّا مَتَاعُ الْغُرُوْرِ ﴿١٨٥﴾

۽ جيڪي ماڻهو بخل ڪندا آهن ان شيءِ ۾ جيڪا الله انهن کي پنهنجي فضل مان ڏني آهي، اُهي هرگز ائين نہ سمجهن تہ اِهو اُنهن جي حق ۾ چڱو آهي. بلڪ اِهو اُنهن جي حق ۾ نهايت برو آهي، جنهن شيءِ ۾ هو بخل ڪري رهيا آهن. اُن کي قيامت جي ڏينهن سندن ڳچي جو ڳٽ بڻايو ويندو ۽ الله ئي وارث آهي زمين ۽ آسمان جو ۽ جيڪو ڪجھ توهان ڪريو ٿا، الله اُن کان باخبر آهي. الله اُنهن ماڻهن جو قول ٻڌو جن چيو الله محتاج آهي ۽ اسان غني آهيون. اسان لکي وٺنداسون اُنهن جي انهيءَ قول کي ۽ اُنهن جو پيغمبرن کي ناحق قتل ڪرڻ کي بہ ۽ اسان چونداسين تہ هاڻي باھ جو عذاب چکو، اِها توهان جي پنهنجي هٿن جي ڪمائي آهي ۽ الله پنهنجن ٻانهن سان نا انصافي ڪرڻ وارو نہ آهي. جيڪي ماڻهو چوندا آهن تہ الله اسان کي حڪم ڏنو آهي تہ اسان ڪنهن رسول کي تسليم نہ ڪريون، ايستائين جو هو اسان جي سامهون اِهڙي قرباني پيش نہ ڪري جنهن کي باھ کائي وڃي، اُنهن کي چئو تہ مون کان پهرين توهان وٽ رسول ڪليل نشانين سان آيا ۽ اُها شيءِ بہ کڻي آيا جنهن لاءِ توهان چئي رهيا آهيو. پوءِ توهان ڇو اُنهن کي قتل ڪيو، جيڪڏهن توهان سچا آهيو. پوءِ جيڪڏهن اهي ماڻهو توکي ڪوڙو ڪن ٿا تہ توکان اڳي بہ ڪيترن ئي رسولن کي ڪوڙو ڪيو ويو آهي، جيڪي ظاهري نشانيون ۽ صحيفا ۽ روشن ڪتاب کڻي آيا هئا. هر شخص کي موت جو مزو چکڻو آهي ۽ توهان کي پورو اجر تہ بس قيامت جي ڏينهن ملندو. پوءِ جيڪو شخص باھ کان بچي ويو ۽ جنت ۾ داخل ڪيو ويو، اُهوئي ڪامياب ٿيو ۽ دنيا جي زندگي تہ بس دوکي جو سودو آهي. ١٨٠-١٨٥

ظاهري طرح ماڻهو هڪڙو قول چئي مؤمن بڻجي وڃي ٿو، پر الله جي نظر ۾ هو اُن وقت مؤمن بڻجي ٿو، جڏهن هو پنهنجي جان ۽ مال کي الله جي راهه ۾ ڏئي ڇڏي. جان ۽ مال جي قربانيءَ جي بغير ڪنهن جو ايمان الله وٽ معتبر نه آهي. ماڻهو پنهنجي مال کي ان ڪري بچائي ٿو جو هو سمجهي ٿو ته اهڙيءَ طرح هو پنهنجي دنياوي مستقبل جو تحفظ ڪري رهيو آهي، پر ماڻهوءَ جو حقيقت ۾ مستقبل اُهو آهي جيڪو آخرت ۾ سامهون اچڻ وارو آهي ۽ آخرت جي دنيا ۾ اِهڙو بچايل مال ماڻهوءَ جي حق ۾ رڳو وبال ثابت ٿيندو. جيڪو مال دنيا ۾ زينت ۽ فخر جو ذريعو ڏسڻ ۾ پيو اچي، اُهو آخرت ۾ الله جي حڪم سان نانگ جي صورت اختيار ڪري وٺندو ۽ ابدي طور ان کي ڏنگيندو رهندو.

جيڪي ماڻهو قرباني واري دين کي نٽا اپنائين، اُهي پاڻ کي صحيح ثابت ڪرڻ جي لاءِ مختلف ڳالهيون ڪندا آهن. مثلاً اِهو مال الله اسان جي ضرورت جي لاءِ پيدا ڪيو آهي، پوءِ ڇو نه اسان اُن کي پنهنجن ضرورتن ۾ خرچ ڪريون ۽ اُن سان پنهنجي دنياوي راحت جو سامان ڪريون. ڪڏهن اُنهن جي بي حسي اُنهن کي ايستائين وٺي وڃي ٿي جو هو پاڻ حق جي داعي کي مشڪوڪ ڪرڻ جي لاءِ طرح طرح جا شوشا ڇڏيندا آهن ته جيئن اِهو ثابت ڪري سگهن ته اُهو شخص سچو داعي نه آهي، جنهن جو ظُهور اِهو تقاضو ڪري رهيو آهي ته پنهنجي زندگي ۽ پنهنجي مال کي قربان ڪري اُن جو ساٿ ڏنو وڃي. اِهڙي قسم جا ماڻهو جيڪي ڳالهيون ڪندا آهن، اُهي بظاهر دليل جي روپ ۾ هونديون آهن، پر حقيقت ۾ اُهي ايماني تقاضي کان فرار جي لاءِ هونديون آهن. ان ڪري چاهي ڪهڙو به دليل پيش ڪيو وڃي، اُهي اُن کي رد ڪرڻ جي لاءِ ڪجهه نه ڪجهه لفظ تلاش ڪري وٺندا آهن. اِهي اُهي ماڻهو آهن جيڪي اُن ڳالهه کي وساري ويٺا آهن ته اُنهن جو آخري انجام موت آهي ۽ موت جو مرحلو سامهون ايندي ئي صورتحال بلڪل بدلجي ويندي. موت سيني ڪوڙن سهارن کي باطل ڪري ڇڏيندو. ان ڪانپوءِ ماڻهو پنهنجي پاڻ کي ٺيڪ اُن جڳهه تي ڏسندو جتي هو حقيقت ۾ هو نه وري اُن مقام تي جتي هو پنهنجي پاڻ کي ظاهر ڪري رهيو هو. موجوده دنيا ۾ ڪنهن جو ترقي ڪرڻ يا موجوده دنيا ۾ ڪنهن جو ناڪام ٿي وڃڻ، ٻئي حقيقت جي لحاظ کان هڪ ئي سطح جون شيون آهن. نه هِتي جون نعمتون ڪنهن جي حق تي هئڻ جو ثبوت آهن ۽ نه ڪنهن جو هِتي مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾ مبتلا هئڻ اُن جي باطل تي هئڻ جو ثبوت آهن، ڇاڪاڻ ته ٻئي امتحان جا نقشا آهن نه وري انجام جون علامتون.

لَتُبْلَوُنَّ فِيْٓ اَمْوَالِكُمْ وَ اَنْفُسِكُمْ ۣ وَ لَتَسْمَعُنَّ مِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَ
مِنَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْٓا اَذًى كَثِيْرًا ۭ وَاِنْ تَصْبِرُوْا وَ تَتَّقُوْا فَاِنَّ ذٰلِكَ مِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ ﴿١٨٦﴾ وَ
اِذْ اَخَذَ اللّٰهُ مِيْثَاقَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ لَتُبَيِّنُنَّهٗ لِلنَّاسِ وَلَا تَكْتُمُوْنَهٗ ۡ فَنَبَذُوْهُ وَرَآءَ
ظُهُوْرِهِمْ وَاشْتَرَوْا بِهٖ ثَمَنًا قَلِيْلًا ۭ فَبِئْسَ مَا يَشْتَرُوْنَ ﴿١٨٧﴾ لَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ يَفْرَحُوْنَ
بِمَآ اَتَوْا وَّيُحِبُّوْنَ اَنْ يُّحْمَدُوْا بِمَا لَمْ يَفْعَلُوْا فَلَا تَحْسَبَنَّهُمْ بِمَفَازَةٍ مِّنَ الْعَذَابِ ۚ وَ
ع لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٨٨﴾ وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَاللّٰهُ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٨٩﴾

يقينًا توهان پنهنجن جانين ۽ مالن ۾ آزمايا ويندؤ ۽ توهان کي گهڻيون ئي ايذاءُ ڏيندڙ ڳالهيون ٻُڌڻيون پونديون، اُنهن کان جن کي توهان کان اڳ ڪتاب مليو ۽ انهن کان بہ جن شرڪ ڪيو ۽ جيڪڏهن توهان صبر ڪندؤ ۽ تقويٰ اختيار ڪندؤ تہ اِهو وڏي حوصلي جو ڪم آهي. ۽ جڏهن الله اهل ڪتاب کان عهد ورتو تہ توهان الله جي ڪتاب کي پوري طرح ظاهر ڪندو ۽ اُن کي نہ لڪائيندو، پر اُنهن اُن کي پنيءَ پٺيان اڇلائي ڇڏيو ۽ ان کي ٿوري ملهہ تي وِڪڻي ڇڏيو. ڪيڏي نہ بڇڙي شيءِ آهي جنهن کي هو خريد ڪري رهيا آهن. جيڪي ماڻهو پنهنجن انهن ڪرتوتن تي خوش آهن ۽ چاهين ٿا تہ جيڪي ڪم اُنهن ڪيا ئي نہ آهن، اُنهن تي اُنهن جي تعريف ٿئي، تون اُنهن کي عذاب کان بَري نہ سمجهہ. اُنهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي. ۽ الله جي لاءِ ئي آهي زمين ۽ آسمان جي بادشاهي ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي. ١٨٦-١٨٩

---

ايمان جو سفر ماڻهوءَ کي اِهڙي دنيا ۾ طي ڪرڻو هوندو آهي جتي پنهنجن ۽ غيرن جي طرفان طرح طرح جا زخم لڳندا آهن. پر مؤمن جي لاءِ ضروري هوندو آهي تہ هو رد عمل جي نفسيات ۾ مبتلا نہ ٿئي. هو هر قسم جي حالتن ۾ مثبت جواب ڏيندي اڳيان وڌندو رهي. ماڻهن جي طرفان اشتعال ڏيارڻ وارا موقعا ايندا آهن، پر هو پابند هوندو آهي تہ هر قسم جي حالتن کي پاڻ تي سهي ۽ جوابي ذهن تحت ڪا بہ ڪارروائي نہ ڪري. هر هر اِهڙا معاملا سامهون ايندا آهن جڏهن دل چوندي آهي تہ خدا جي حدن کي ٽوڙي پنهنجو مقصد حاصل ڪيو وڃي، پر الله جو ڊپ هن جي قدمن کي روڪي ٿو ڇڏي. اهڙيءَ طرح دين جون مختلف ضرورتون سامهون اينديون آهن ۽ جان ۽ مال جي قرباني جو تقاضو ڪنديون آهن. اِهڙن موقعن تي آسان دين کي ڇڏي مشڪل دين کي اختيار ڪرڻو پوي ٿو. اِهو واقعو ايمان جي سفر کي همت ۽ بلند حوصلي جو زبردست امتحان بڻائي ڇڏي ٿو. حقيقت اِها آهي تہ مؤمن بڻجڻ پنهنجي پاڻ کي صبر ۽ تقويٰ جي امتحان ۾ بيهارڻ آهي. جيڪو ان امتحان ۾ پورو لٿو، اُهوئي اُهو مؤمن بڻيو جنهن جي لاءِ آخرت ۾ جنت جا دروازا کوليا ويندا.

آسماني ڪتاب رکندڙ ڪنهن گرُوهہ تي جڏهن زوال ايندو آهي تہ ايئن نہ ٿيندو آهي جو هو خدا ۽ رسول جو نالو وٺڻ ڇڏي ڏي يا خدا جي ڪتاب کان پنهنجي لاتعلقي جو اعلان ڪري ڇڏي. دين اِهڙي گروهہ جي نسلي روايتن ۾ شامل ٿي ويندو آهي. هو انهن لاءِ قومي فخر جو ورثو بڻجي ويندو آهي ۽ جنهن شيءِ سان اهڙيءَ طرح نسلي ۽ قومي تعلق قائم ٿي وڃي، اُن کان عليحدگي ڪنهن گروهہ جي لاءِ ممڪن نہ هوندي آهي. جيئن تہ اُن جو اهو تعلق رڳو رسمي هوندو آهي نہ وري ڪو حقيقي تعلق. هو پنهنجون دنياوي سرگرميون بہ دين جي نالي تي جاري رکندا آهن. اُهي بي دين ٿي ڪري بہ پاڻ کي ديندار چورائڻ چاهيندا آهن. هو چاهڻ لڳندا آهن تہ اُنهن کي اِهڙي ڪم تي شاباسي ڏني وڃي، جيڪو اُنهن ڪيو ئي نہ آهي. هو آخرت جي نجات کان بي فڪر ٿي زندگي گذاريندا آهن ۽ اِنهيءَ سان گڏ اِهڙا عقيدا ٺاهي وٺندا آهن جن مطابق اُنهن کي پنهنجي نجات بلڪل محفوظ نظر ايندي آهي. هو پنهنجي هٿ ٺوڪي دين تي هلندا آهن، پر پاڻ کي خدا جي دين جو علمبردار سڏرائيندا آهن. هو دنياوي مقصدن جي لاءِ سرگرم هوندا آهن ۽ پنهنجن سرگرمين کي آخرت جو نالو ڏيندا آهن. هو هٽرادو سياست هلائيندا آهن ۽ اُن کي خدائي سياست ثابت ڪندا آهن. هو قومي مفاد جي لاءِ اٿندا آهن ۽ اعلان ڪندا آهن تہ هو بهترين امت جو ڪردار ادا ڪرڻ جي لاءِ اٿيا آهن. پر ڪو شخص بي دينيءَ کي دين چوڻ لڳي

تہ اُن جي ڪري هو الله جي پڪڙ کان بچي نہ ٿو سگهي. ماڻهو دنيا ڏانهن ڊوڙي ۽ آخرت کان بي پرواهہ ٿي وڃي تہ اِها صرف گمراهي آهي ۽ جيڪڏهن هو پنهنجي دنياوي ڪاروبار کي خدا ۽ رسول جي نالي تي ڪرڻ لڳي تہ اهو گمراهي تي بي حيائي جو اضافو آهي، ڇاڪاڻ تہ اِهو اهڙي ڪم تي انعام گهرڻ آهي جنهن کي ماڻهو ڪيو ئي نہ آهي.

اِنَّ فِيۡ خَلۡقِ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ وَ اخۡتِلَافِ الَّيۡلِ وَ النَّهَارِ لَاٰيٰتٍ لِّاُولِي الۡاَلۡبَابِ ﴿١٩٠﴾
الَّذِيۡنَ يَذۡكُرُوۡنَ اللّٰهَ قِيٰمًا وَّ قُعُوۡدًا وَّ عَلٰى جُنُوۡبِهِمۡ وَ يَتَفَكَّرُوۡنَ فِيۡ خَلۡقِ السَّمٰوٰتِ وَ
الۡاَرۡضِ ۚ رَبَّنَا مَا خَلَقۡتَ هٰذَا بَاطِلًا ۚ سُبۡحٰنَكَ فَقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿١٩١﴾ رَبَّنَاۤ اِنَّكَ مَنۡ
تُدۡخِلِ النَّارَ فَقَدۡ اَخۡزَيۡتَهٗ ؕ وَ مَا لِلظّٰلِمِيۡنَ مِنۡ اَنۡصَارٍ ﴿١٩٢﴾ رَبَّنَاۤ اِنَّنَا سَمِعۡنَا مُنَادِيًا
يُّنَادِيۡ لِلۡاِيۡمَانِ اَنۡ اٰمِنُوۡا بِرَبِّكُمۡ فَاٰمَنَّا ۖ رَبَّنَا فَاغۡفِرۡ لَنَا ذُنُوۡبَنَا وَ كَفِّرۡ عَنَّا سَيِّاٰتِنَا وَ
تَوَفَّنَا مَعَ الۡاَبۡرَارِ ﴿١٩٣﴾ رَبَّنَا وَ اٰتِنَا مَا وَعَدۡتَّنَا عَلٰى رُسُلِكَ وَ لَا تُخۡزِنَا يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ ؕ اِنَّكَ
لَا تُخۡلِفُ الۡمِيۡعَادَ ﴿١٩٤﴾

آسمانن ۽ زمين جي پيدائش ۾ ۽ رات ڏينهن جي بدلجڻ ۾ عقل وارن جي لاءِ وڏيون نشانيون آهن. جيڪي الله کي بيٺي، ويٺي ۽ پاسن ڀر ليٽندي ياد ڪن ٿا ۽ آسمانن ۽ زمين جي پيدائش ۾ غور ڪندا رهن ٿا. هو بي اختيار چئي ڏيندا آهن اي اسان جا رب! تو هي سڀ ڪجهہ اجايو نہ ٺاهيو آهي. تون پاڪ آهين، پوءِ اسان کي باهہ جي عذاب کان بچاءِ. اي اسان جا رب! جنهن کي تو باهہ ۾ وڌو تنهن کي تو يقينًا رسوا ڪري ڇڏيو ۽ ظالمن جو ڪوبہ مددگار نہ آهي. اي اسان جا رب! اسان هڪ پڪاريندڙ کي ٻڌو جيڪو ايمان ڏانهن سڏي رهيو هو تہ پنهنجي رب تي ايمان آڻيو سو اسان ايمان آندو. اي اسان جا رب! اسان جا گناهہ بخش ڪر ۽ اسان جي برائين کي اسان کان پري ڪري ڇڏ ۽ اسان جو خاتمو نيڪ ٻانهن سان ڪر. اي اسان جا رب! تو جيڪي وعدا پنهنجن رسولن جي معرفت اسان سان ڪيا آهن، اُنهن کي اسان سان پورو ڪر ۽ قيامت جي ڏينهن اسان کي رسوا نہ ڪجاءِ. بيشڪ تون پنهنجي وعدي جي خلاف ڪرڻ وارو نہ آهين. ١٩٠-١٩٤

---

ڪائنات پنهنجي پوري وجود سان هڪ خاموش اعلان آهي. ماڻهو جڏهن پنهنجن ڪنن ۽ اکين تان مصنوعي پردن کي هٽائي ٿو تہ هو اُن خاموش اعلان کي چؤطرف ٻڌڻ ۽ ڏسڻ لڳي ٿو. اُن کي ناممڪن نظر اچي ٿو تہ هڪ اِهڙي ڪائنات جنهن جا ستارا ۽ سيّارا ڪربن سالن تائين بہ ختم نہ ٿا ٿين، اُتي انسان پنهنجن سڀني خواهشن ۽ تمنائن سان گڏ صرف پنجاهہ سال ۽ سؤ سال ۾ ختم ٿي وڃي. هڪ اِهڙي دنيا جتي وڻن جو حسن ۽ گلن جي سونهن آهي. جتي هوا ۽ پاڻي ۽ سج جهڙين بي شمار بامعنيٰ شين جو اهتمام ڪيو ويو آهي، اتي انسان جي لاءِ رنج ۽ غم کان سواءِ ڪو انجام نہ هجي، پوءِ هُن کي اِهو بہ نا ممڪن نظر اچي ٿو تہ هڪ اِهڙي دنيا جتي اهو اٿاهہ امڪان رکيو ويو آهي تہ هِتي هڪ ننڍڙو ٻج جڏهن زمين ۾ وڌو وڃي تہ اُن مان سرسبز وڻ جي هڪ پوري ڪائنات نڪري اچي ۽ اُتي ماڻهوءَ کي نيڪي جي زندگي اختيار ڪرڻ جي باوجود ڪو صلو نہ ملي. هڪ اِهڙي دنيا جتي هر روز انڌيري رات

جي اونداهي کان پوءِ روشن ڏينهن ايندو هجي، اتي صديون گذري وڃن ۽ عدل ۽ انصاف جي روشني پنهنجي چمڪ نہ ڏيکاري. هڪ اهڙي دنيا جنهن جي جهولي ۾ زلزلا ۽ طوفان سنل هجن، اُتي انسان ظلم مٿان ظلم ڪندو رهي، پر ڪوبہ ان جو هٿ جهلڻ وارو سامهون نہ اچي. جيڪي ماڻهو حقيقتن ۾ جيئندا آهن ۽ گهرائين ۾ لهي سوچيندا آهن اُنهن جي لاءِ اِهو ناقابل يقين ٿي ويندو آهي تہ هڪ با معنيٰ ڪائنات بي معنيٰ انجام تي ختم ٿي وڃي. هو چاهي ٿي ونندا آهن تہ حق جو داعي جيڪو پيغام ڏئي رهيو آهي، اُهو انساني زبان ۾ انهيءَ ڳالهہ جو اعلان آهي جيڪو خاموش زبان ۾ سڄي ڪائنات ۾ نشر ٿي رهيو آهي. اُنهن جي لاءِ سڀ کان وڏو مسئلو اهو بڻجي وڃي ٿو تہ جڏهن سچائي ظاهر ٿئي ۽ جڏهن انصاف جو سج نڪري تہ اُن ڏينهن اُهي ناڪام ۽ نامراد نہ ٿي وڃن. هو پنهنجي رب کي پڪاريندي اُن ڏانهن ڊوڙي پوندا آهن، هو مفاد ۽ مصلحت جي سڀني رڪاوٽن کي ٽوڙي حق جي داعي سان گڏ ٿي ويندا آهن تہ جڏهن ڪائنات جي "روشني" ۽ ڪائنات جو "اونديرو" هڪ ٻئي کان جدا ڪيا وڃن تہ ڪائنات جو مالڪ اُنهن کي روشنيءَ ۾ جاءِ ڏي، هو اُنهن کي اونداهين ۾ ڌڪا کائڻ جي لاءِ نہ ڇڏي ڏي.

عقل ۽ بي عقليءَ جو حقيقي پيمانو اُن کان بلڪل مختلف آهي، جيڪو انسانن ٺاهي رکيو آهي. هِتي عقل وارو اُهو آهي جيڪو الله جي ياد ۾ جيئي، جيڪو ڪائنات جي تخليقي منصوبي ۾ ڪم ڪرڻ واري خدا جي مرضي کي سمجهي وٺي. ان جي ابتڙ بي عقل اُهو آهي جيڪو پنهنجي دل ۽ دماغ کي بين شين ۾ اٽڪائي ڇڏي، جيڪو دنيا ۾ اهڙيءَ طرح زندگي گذاري تہ جيئن ان کي ڪائنات جي مالڪ جي تخليقي منصوبي جي خبر ئي نہ آهي.

فَاسْتَجَابَ لَهُمْ رَبُّهُمْ اَنِّيْ لَاۤ اُضِيْعُ عَمَلَ عَامِلٍ مِّنْكُمْ مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى ۚ بَعْضُكُمْ
مِّنْۢ بَعْضٍ ۚ فَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا وَ اُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَ اُوْذُوْا فِيْ سَبِيْلِيْ وَ قٰتَلُوْا وَ
قُتِلُوْا لَاُكَفِّرَنَّ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَ لَاُدْخِلَنَّهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۚ ثَوَابًا
مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ عِنْدَهٗ حُسْنُ الثَّوَابِ ﴿۱۹۵﴾ لَا يَغُرَّنَّكَ تَقَلُّبُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِي
الْبِلَادِ ؕ﴿۱۹۶﴾ مَتَاعٌ قَلِيْلٌ ۟ ثُمَّ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ وَ بِئْسَ الْمِهَادُ ﴿۱۹۷﴾ لٰكِنِ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا
رَبَّهُمْ لَهُمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا نُزُلًا مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ وَ مَا
عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ لِّلْاَبْرَارِ ﴿۱۹۸﴾ وَ اِنَّ مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ لَمَنْ يُّؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَ مَاۤ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ وَ
مَاۤ اُنْزِلَ اِلَيْهِمْ خٰشِعِيْنَ لِلّٰهِ ۙ لَا يَشْتَرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ
اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۱۹۹﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اصْبِرُوْا وَ
ع٢٠ صَابِرُوْا وَ رَابِطُوْا ۟ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۲۰۰﴾ ١١

اُنهن جي رب اُنهن جي دعا قبول فرمائي ته آئون توهان مان ڪنهن جو به عمل ضايع ڪرڻ وارو نه آهيان، چاهي اُهو مرد هجي يا عورت، توهان سڀ هڪ ٻئي منجهان آهيو. پوءِ جن ماڻهن هجرت ڪئي ۽ جيڪي پنهنجن گهرن مان ڪڍيا ويا ۽ منهنجي راهه ۾ ستايا ويا ۽ هو وڙهيا ۽ ماريا ويا، اُنهن جون خطائون ضرور اُنهن کان پري ڪري ڇڏيندس ۽ اُنهن کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندس جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون. اِهو اُنهن جو بدلو آهي الله وٽ ۽ بهترين بدلو الله ئي وٽ آهي. ۽ ملڪ جي اندر منڪرن جون سرگرميون توکي دوکي ۾ نه وجهن، اهو ٿورڙو فائدو آهي. پوءِ اُنهن جو ٺڪاڻو جهنم آهي ۽ اهو ڪيڏو نه برو ٺڪاڻو آهي. البته جيڪي ماڻهو پنهنجي رب کان ڊڄندا آهن، اُنهن جي لاءِ باغ هوندا، جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون، هو اُن ۾ هميشه رهندا. اِها الله جي طرفان اُنهن جي مهماني هوندي ۽ جيڪو ڪجهه الله وٽ نيڪ ماڻهن جي لاءِ آهي، اُهوئي سڀ کان بهتر آهي. ۽ بيشڪ اهل ڪتاب مان ڪجهه اهڙا به آهن جيڪي الله تي ايمان رکندا آهن ۽ اُن ڪتاب کي به مڃيندا آهن جيڪو تو ڏانهن موڪليو ويو آهي ۽ اُن ڪتاب کي به مڃيندا آهن جيڪو ان کان پهرين اُنهن ڏانهن موڪليو ويو هو، هو الله جي اڳيان جهڪيل آهن ۽ هو الله جي آيتن کي ٿوري مُلهه تي وڪڻندا نه آهن. اُنهن جو اجر اُنهن جي رب وٽ آهي ۽ الله جلد حساب وٺڻ وارو آهي. اي ايمان وارؤ! صبر ڪريو ۽ مقابلي ۾ مضبوط رهو ۽ ثابت قدم رهو ۽ الله کان ڊڄو، اميد آهي ته توهان ڪامياب ٿيندؤ. ١٩٥-٢٠٠

---

ايمان وارن جي ذميداراڻي زندگي انهن کي نفس جي آزادين کان محروم ڪري ڇڏي ٿي. جڏهن اهي حق جو اعلان ڪن ٿا ته گهڻن ماڻهن کي پنهنجي وجود جي نفي نظر اچڻ لڳي ٿي ۽ اهي اُنهن جا دشمن بڻجي ويندا آهن. اِها صورتحال ڪڏهن ته ايتري شديد ٿي ويندي آهي جو هو پنهنجي وطن ۾ بي وطن ڪيا ويندا آهن. اُنهن کي مخالفن جي ظالماڻين ڪارروائين جي مقابلي ۾ ٻيهڻو پوي ٿو. انهن کي الله جي دين کي جان ۽ مال جي قرباني جي قيمت تي اختيار ڪرڻو پوندو آهي. انهن امتحانن ۾ پورو لهڻ جي لاءِ ايمان وارن کي جيڪو ڪجهه ڪرڻو آهي، اُهو اِهو آهي ته دنيا جي مصلحتن جي ڪري آخرت جي مصلحتن کي وساري نه ڇڏين، اهي مشڪلاتن ۽ ناخوش گوارين تي صبر ڪن، هو پنهنجي اندر اڀرڻ وارن منفي جذبن کي دٻائين ۽ متاثر ذهن جي تحت ڪا به ڪارروائي نه ڪن. پوءِ انهن کي ٻاهر جي دشمنن جي مقابلي ۾ ثابت قدم رهڻو آهي. اِها ثابت قدمي ئي اُها شيءِ آهي جيڪا الله جي مدد کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي. اُن سان گڏ ضروري آهي ته سڀ ايمان وارا پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ٻڌل رهن، هو دين جي جدوجهد جي لاءِ پاڻ ۾ جُڙيل وجن ۽ هڪ جان ٿي اجتماعي قوت سان مخالف طاقتن جو مقابلو ڪن. ايمان اصل ۾ صبر جو امتحان آهي ۽ هِن امتحان ۾ اُهوئي شخص پورو لهي ٿو جيڪو الله کان ڊڄڻ وارو هجي.

دنيا ۾ اڪثر ائين ٿيندو آهي ته الله کان بي خوف ۽ آخرت کان بي پرواهه ماڻهن کي زور ۽ غلبو حاصل ٿي ويندو آهي. هر قسم جون عزتون ۽ رونقون اُنهن وٽ جمع ٿي وينديون آهن. ٻئي پاسي ايمان وارا اڪثر حالتن ۾ بي زور هوندا آهن. شان ۽ شوڪت جو ڪوبه حصو اُنهن کي نه ٿو ملي. پر اِها صورتحال انتهائي عارضي آهي. قيامت ايندي ئي حالتون بلڪل بدلجي وينديون. بي خوفيءَ جي ذريعي دنيا جون عزتون گڏ ڪرڻ وارا رسوائيءَ جي کڏ ۾ پيل هوندا ۽ خوفِ خدا جي ڪري بي حيثيت ٿي وڃڻ وارا هر قسم جي ابدي عزتن ۽ ڪاميابين جا مالڪ هوندا. اهي الله جا مهمان هوندا ۽ الله جي مهمانيءَ کان وڌي ڪا شيءِ هن زمين ۽ آسمان جي اندر نه آهي.

(٤) سُوْرَةُ النِّسَآءِ مَدَنِيَّةٌ (٩٢) | اٰياتها ١٧٦ | ركوعاتها ٢٤

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوۡا رَبَّكُمُ الَّذِىۡ خَلَقَكُمۡ مِّنۡ نَّفۡسٍ وَّاحِدَةٍ وَّ خَلَقَ مِنۡهَا زَوۡجَهَا وَ بَثَّ
مِنۡهُمَا رِجَالًا كَثِيۡرًا وَّ نِسَآءً ۚ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِىۡ تَسَآءَلُوۡنَ بِهٖ وَ الۡاَرۡحَامَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ
كَانَ عَلَيۡكُمۡ رَقِيۡبًا ﴿١﴾ وَ اٰتُوا الۡيَتٰمٰۤى اَمۡوَالَهُمۡ وَ لَا تَتَبَدَّلُوا الۡخَبِيۡثَ بِالطَّيِّبِ ۖ وَ لَا
تَاۡكُلُوۡۤا اَمۡوَالَهُمۡ اِلٰٓى اَمۡوَالِكُمۡ ؕ اِنَّهٗ كَانَ حُوۡبًا كَبِيۡرًا ﴿٢﴾ وَ اِنۡ خِفۡتُمۡ اَلَّا تُقۡسِطُوۡا فِى
الۡيَتٰمٰى فَانۡكِحُوۡا مَا طَابَ لَكُمۡ مِّنَ النِّسَآءِ مَثۡنٰى وَ ثُلٰثَ وَ رُبٰعَ ۚ فَاِنۡ خِفۡتُمۡ اَلَّا
تَعۡدِلُوۡا فَوَاحِدَةً اَوۡ مَا مَلَكَتۡ اَيۡمَانُكُمۡ ؕ ذٰلِكَ اَدۡنٰٓى اَلَّا تَعُوۡلُوۡا ﴿٣﴾ وَ اٰتُوا النِّسَآءَ
صَدُقٰتِهِنَّ نِحۡلَةً ؕ فَاِنۡ طِبۡنَ لَكُمۡ عَنۡ شَىۡءٍ مِّنۡهُ نَفۡسًا فَكُلُوۡهُ هَنِيۡٓـئًا مَّرِیۡٓـئًا ﴿٤﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

اي انسانو! پنهنجي رب کان ڊڄو جنهن توهان کي هڪ جيءَ مان پيدا ڪيو ۽ اُن ئي منجهان ان جو جوڙو پيدا ڪيو ۽ انهن ٻنهي مان گهڻا مرد ۽ عورتون پکيڙي ڇڏيائين. ۽ الله کان ڊڄو جنهن جي نالي تي توهان هڪٻئي کان سوال ڪندا آهيو ۽ مٽي مائٽي ڇنڻ کان بچو. بيشڪ الله اوهان تي نگهبان آهي ۽ يتيمن جو مال انهن جي حوالي ڪريو. ۽ بُري مال کي چڱي مال سان نه بدلايو ۽ انهن جي مال کي پنهنجي مال سان ملائي نه کائو. اِهو وڏو گناهه آهي ۽ جيڪڏهن توهان کي انديشو آهي ته توهان يتيمن جي معاملي ۾ انصاف نه ڪري سگهندؤ، ته عورتن مان جيڪي توهان کي پسند هجن. انهن مان ٻه، ٽي ٽي، چار چار تائين پرڻجو. ۽ جيڪڏهن توهان کي انديشو هجي ته توهان عدل نه ڪري سگهندؤ. ته هڪ نڪاح ڪريو يا جيڪا ٻانهي توهان جي هٿن ۾ آهي. بي انصافيءَ کان بچڻ لاءِ اهو طريقو وڌيڪ مناسب آهي. ۽ عورتن کي انهن جو مهر خوشي سان ادا ڪريو. پوءِ جيڪڏهن هو پنهنجي خوشيءَ سان ان مان ڪجهه توهان لاءِ ڇڏين ته اُن کي خوشيءَ ۽ مزي سان کائو. ١-٤

---

سڀ انسان پيدائش جي لحاظ کان هڪ آهن. جيئن ته هڪ عورت ۽ هڪ مرد ئي سڀني جا ماءُ ۽ پيءُ آهن. ان ڪري ضروري آهي ته هر ماڻهو ٻئي ماڻهو کي پنهنجو سمجهي. سڀ جا سڀ هڪ ئي گهراڻي جي فردن وانگر ملي جلي انصاف ۽ خير خواهي سان رهن، پوءِ انهن ۾ جيڪي رت جا رشتا آهن انهن ۾ نسلي اتحاد اڃا ويجهو ٿي ويندو آهي. ان ڪري رت جي رشتن ۾ حسن سلوڪ جي اهميت اڃا به وڌي ويندي آهي. انسانن ۾ اهڙي حسن سلوڪ جي اهميت رڳو اخلاقي لحاظ کان نه آهي، پر اهو خود ماڻهوءَ جو پنهنجو ذاتي مسئلو هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته سڀني انسانن جي مٿان خدا جي عظيم ذات آهي. هو آخر ۾ سڀني کان حساب وٺڻ وارو آهي ۽ دنيا ۾ انهن جي عمل مطابق آخرت ۾ انهن جي ابدي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ وارو آهي، ان ڪري ماڻهوءَ کي گهرجي ته انسان جي معاملي کي رڳو انسان

جو معاملو نہ سمجهي، بلڪ اُن کي الله جو معاملو سمجهي. هو الله جي پڪڙ کان ڊڄي ۽ پنهنجي پاڻ کي اُن عمل جو پابند بڻائي، جيڪو اُن کي الله جي غضب کان بچائڻ وارو هجي.

حديث قدسي ۾ آهي تہ الله تعاليٰ فرمايو تہ جيڪو شخص رحم ڪندو تہ آئون اُن سان جُڙندس ۽ جيڪو شخص قطع رحمي ڪندو، آئون اُن سان ٽوڙيندس (من وصلها وصلته و من قطعها قطعته). اُن مان معلوم ٿيو تہ الله سان تعلق جو امتحان ٻانهن سان تعلق جي معاملي ۾ ورتو ويندو آهي. اُهو ئي شخص الله کان ڊڄڻ وارو آهي، جيڪو ٻانهن جي حقن جي معاملي ۾ الله کان ڊڄي، اُهوئي شخص الله سان محبت ڪرڻ وارو آهي جيڪو ٻانهن سان محبت ۾ اُن جو ثبوت ڏي. اها ڳالهہ عام انساني تعلقات ۾ بہ گهربل آهي. مٿي مائٽي وارن رشتن جي معاملي ۾ حسن سلوڪ جي اهميت ايتري تہ وڌي وڃي ٿي، جو الله جي ذات کان پوءِ ان جو ٻيو درجو هوندو آهي.

يتيم ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڪنهن خاندان يا سماج جا سڀ کان وڌيڪ ڪمزور فرد هوندا آهن، اُن ڪري خدا جي ڊپ جو سڀ کان سخت امتحان يتيم ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي معاملي ۾ هوندو آهي. ماڻهوءَ کي گهرجي تہ يتيمن جي معاملي ۾ اُهوئي ڪري جيڪو انصاف ۽ خير خواهي جو تقاضو هجي ۽ جنهن ۾ يتيمن جا حق وڌ کان وڌ محفوظ رهڻ جي ضمانت هجي. اها وڏي گناهہ جي ڳالهہ آهي تہ گڏيل ملڪيت جي اهڙي طرح تقسيم ڪئي وڃي جنهن جون سٺيون شيون پنهنجي حصي ۾ رکي ڇڏجن ۽ ٻئي جي حصي ۾ خراب شيون وجهي ڳڻپ پوري ڪري ڇڏجي.

وَلَا تُؤْتُوا السُّفَهَآءَ اَمْوَالَكُمُ الَّتِيْ جَعَلَ اللّٰهُ لَكُمْ قِيٰمًا وَّ ارْزُقُوْهُمْ فِيْهَا وَاكْسُوْهُمْ
وَ قُوْلُوْا لَهُمْ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ﴿٥﴾ وَ ابْتَلُوا الْيَتٰمٰى حَتّٰٓى اِذَا بَلَغُوا النِّكَاحَ ۚ فَاِنْ اٰنَسْتُمْ
مِّنْهُمْ رُشْدًا فَادْفَعُوْٓا اِلَيْهِمْ اَمْوَالَهُمْ ۚ وَ لَا تَاْكُلُوْهَآ اِسْرَافًا وَّ بِدَارًا اَنْ يَّكْبَرُوْا ؕ وَ
مَنْ كَانَ غَنِيًّا فَلْيَسْتَعْفِفْ ۚ وَ مَنْ كَانَ فَقِيْرًا فَلْيَاْكُلْ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ فَاِذَا دَفَعْتُمْ
اِلَيْهِمْ اَمْوَالَهُمْ فَاَشْهِدُوْا عَلَيْهِمْ ؕ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ حَسِيْبًا ﴿٦﴾ لِلرِّجَالِ نَصِيْبٌ مِّمَّا تَرَكَ
الْوَالِدٰنِ وَ الْاَقْرَبُوْنَ ۪ وَ لِلنِّسَآءِ نَصِيْبٌ مِّمَّا تَرَكَ الْوَالِدٰنِ وَ الْاَقْرَبُوْنَ مِمَّا قَلَّ مِنْهُ
اَوْ كَثُرَ ؕ نَصِيْبًا مَّفْرُوْضًا ﴿٧﴾ وَ اِذَا حَضَرَ الْقِسْمَةَ اُولُوا الْقُرْبٰى وَ الْيَتٰمٰى وَ الْمَسٰكِيْنُ
فَارْزُقُوْهُمْ مِّنْهُ وَ قُوْلُوْا لَهُمْ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ﴿٨﴾ وَ لْيَخْشَ الَّذِيْنَ لَوْ تَرَكُوْا مِنْ خَلْفِهِمْ
ذُرِّيَّةً ضِعٰفًا خَافُوْا عَلَيْهِمْ ۪ فَلْيَتَّقُوا اللّٰهَ وَ لْيَقُوْلُوْا قَوْلًا سَدِيْدًا ﴿٩﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ
اَمْوَالَ الْيَتٰمٰى ظُلْمًا اِنَّمَا يَاْكُلُوْنَ فِيْ بُطُوْنِهِمْ نَارًا ؕ وَ سَيَصْلَوْنَ سَعِيْرًا ﴿١٠﴾ ع ١ ١٢

۽ بي سمجهن کي پنهنجا مال نہ ڏيو جنهن کي الله توهان جي لاءِ روزگار جو ذريعو بڻايو آهي ۽ اُن مال مان انهن کي کارايو ۽ پهرايو ۽ چڱي ڳالهہ چوندا ڪريو. ۽ يتيمن کي آزمائيندا رهو جيستائين اهي نڪاح جي عمر کي

پهچي وڃن، پوءِ جيڪڏهن انهن ۾ اهليت ڏسو ته سندن مال اُنهن جي حوالي ڪري ڇڏيو. ۽ انهن جو مال سندن وڏي ٿيڻ جي ڊپ کان اڳ ۾ اجايو ۽ تڪڙو ڪائي ڪپائي ختم نه ڪريو. ۽ جنهن ڪي حاجت نه هجي اهو يتيم جي مال کان پرهيز ڪري. ۽ جيڪو شخص محتاج هجي ته اهو دستور موجب مناسب طرح ڪائي. پوءِ جڏهن توهان سندن مال انهن جي حوالي ڪريو ته اُن تي شاهد مقرر ڪريو ۽ الله حساب وٺڻ لاءِ ڪافي آهي. ماءُ پيءُ ۽ مائٽن جي ڇڏيل مال ۾ مردن جو به حصو آهي ۽ ماءُ پيءُ ۽ مائٽن جي ڇڏيل مال ۾ عورتن جو به حصو آهي. اهو ٿورو هجي يا گهڻو هجي، هڪ مقرر ٿيل حصو آهي. ۽ جيڪڏهن ورهائڻ وقت مٽ مائٽ ۽ يتيم ۽ محتاج موجود هجن ته ان مان ڪجهه انهن کي ڏيو ۽ انهن سان سهڻي نموني سان ڳالهايو. ۽ ماڻهن کي ڊڄڻ گهرجي ته جيڪڏهن هو پنهنجي پٺيان ڪمزور اولاد ڇڏي وڃن، ته هوند ڪين ڪهڙو نه انديشو ٿئي! پوءِ انهن کي گهرجي ته الله کان ڊڄن ۽ پڪي پختي ڳالهه ڪن. جيڪي ماڻهو يتيمن جو مال ناحق کائين ٿا، اهي ماڻهو پنهنجن پيٽن ۾ باهه ڀري رهيا آهن ۽ اهي سگهوئي ڀڙڪندڙ باهه ۾ وڌا ويندا. ٥-١٠

---

مال نه عيش جي لاءِ آهي ۽ نه فخر جي اظهار لاءِ. مال ماڻهو جي لاءِ زندگيءَ جو هڪ وسيلو آهي. اهو دنيا ۾ هن جي قيام ۽ بقا جو سامان آهي. زندگيءَ لاءِ مال جو ذريعو هجڻ ظاهر ڪري ٿو ته مال خود زندگي جو مقصد نه آهي. ٻي انتهائي ضروري ڳالهه اها آهي ته مال کي ضايع ٿيڻ کان بچايو وڃي ۽ ان کي اُن جي حقدار تائين پهچائڻ جو پورو اهتمام ڪيو وڃي. ڪنهن جي مال کي صحيح طرح ادا نه ڪرڻ جڻ ته خدا جي ان انتظام ۾ فساد وجهڻ آهي جيڪو خدا پنهنجن ٻانهن کي رزق رسائڻ جي لاءِ ڪيو آهي. يتيم ڪنهن سماج جو سڀ کان ڪمزور فرد هوندو آهي، ان ڪري اُن جي مال جي حفاظت ۽ اُن جي معاملي ۾ هر قسم جي ظلم کان پاڻ کي بچائڻ تمام ضروري آهي. ان لاءِ اهو ضروري آهي ته ماڻهو انصاف مطابق انهن سان جيڪو معاملو ڪري اُن کي لکي اُن تي شاهدي وٺي ڇڏي، ته جيئن سماج ۾ شڪايت ۽ اختلاف جي فضا پيدا نه ٿئي ۽ هو ماڻهن جي سامهون ذميداري کان آجو ٿي سگهي. جڏهن به ماڻهو جي هٿ ۾ ڪنهن جو ڪو به معاملو هجي ته اُن کي ان معاملي ۾ اهو سمجهڻ گهرجي ته اُن جي هر ڪوتاهي الله جي علم ۾ آهي. فريادي پنهنجي ڪمزوريءَ جي ڪري ڀلي اُن جي خلاف ڪجهه نه ڪري سگهي، پر الله اُن کي ضرور قيامت جي ڏينهن پڪڙيندو ۽ جيڪڏهن اُن حق جي خلاف معاملو ڪيو آهي، ته هو اُن کي سخت سزا ڏيندو ۽ اُن جي لاءِ ڪنهن به طرح الله جي سزا کان بچڻ ممڪن نه هوندو.

دنيا ۾ ڪمزور جو حق کائي ماڻهو خوش ٿيندو آهي. پر هر ناجائز مال جيڪو ماڻهو پنهنجي پيٽ ۾ وجهندو آهي، اهو ڄڻ ته پنهنجي پيٽ ۾ باهه ڀري رهيو آهي. دنيا ۾ اهڙي مال جو باهه هجڻ محسوس نه ٿيندو آهي، پر آخرت ۾ اِها حقيقت کُلي ويندي. هتي ماڻهوءَ کي عمل جي آزادي ضرور ڏني وئي آهي، پر نتيجو ماڻهوءَ جي اختيار ۾ نه آهي. جيڪو شخص پاڻ کي بُري انجام کان بچائڻ چاهي ٿو، ته اُن کي ٻين سان به بُرائي نه ڪرڻ کپي. ماڻهو کي کپي ته هو ٻين کي نفعو ڏيڻ وارو بڻجي، هو پنهنجي حيثيت مطابق ٻين کي ڏي. جيڪڏهن ڪو شخص ڏيڻ جي حيثيت ۾ نه آهي ته آخري اسلامي درجو اِهو آهي ته هو ٻين جي دل نه ڏکائي. هو ڳالهائي ته سڌي ۽ سچي ڳالهه چوڻ جي لاءِ، نه ته خاموش رهي.

يُوْصِيْكُمُ اللّٰهُ فِيْٓ اَوْلَادِكُمْ ۗ لِلذَّكَرِ مِثْلُ حَظِّ الْاُنْثَيَيْنِ ۚ فَاِنْ كُنَّ نِسَآءً فَوْقَ
اثْنَتَيْنِ فَلَهُنَّ ثُلُثَا مَا تَرَكَ ۚ وَ اِنْ كَانَتْ وَاحِدَةً فَلَهَا النِّصْفُ ؕ وَ لِاَبَوَيْهِ لِكُلِّ وَاحِدٍ
مِّنْهُمَا السُّدُسُ مِمَّا تَرَكَ اِنْ كَانَ لَهٗ وَلَدٌ ۚ فَاِنْ لَّمْ يَكُنْ لَّهٗ وَلَدٌ وَّ وَرِثَهٗٓ اَبَوٰهُ فَلِاُمِّهِ
الثُّلُثُ ۚ فَاِنْ كَانَ لَهٗٓ اِخْوَةٌ فَلِاُمِّهِ السُّدُسُ مِنْۢ بَعْدِ وَصِيَّةٍ يُّوْصِيْ بِهَآ اَوْ دَيْنٍ ؕ
اٰبَآؤُكُمْ وَ اَبْنَآؤُكُمْ لَا تَدْرُوْنَ اَيُّهُمْ اَقْرَبُ لَكُمْ نَفْعًا ؕ فَرِيْضَةً مِّنَ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ
عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿۱۱﴾ وَ لَكُمْ نِصْفُ مَا تَرَكَ اَزْوَاجُكُمْ اِنْ لَّمْ يَكُنْ لَّهُنَّ وَلَدٌ ۚ فَاِنْ كَانَ
لَهُنَّ وَلَدٌ فَلَكُمُ الرُّبُعُ مِمَّا تَرَكْنَ مِنْۢ بَعْدِ وَصِيَّةٍ يُّوْصِيْنَ بِهَآ اَوْ دَيْنٍ ؕ وَ لَهُنَّ الرُّبُعُ
مِمَّا تَرَكْتُمْ اِنْ لَّمْ يَكُنْ لَّكُمْ وَلَدٌ ۚ فَاِنْ كَانَ لَكُمْ وَلَدٌ فَلَهُنَّ الثُّمُنُ مِمَّا تَرَكْتُمْ مِّنْۢ
بَعْدِ وَصِيَّةٍ تُوْصُوْنَ بِهَآ اَوْ دَيْنٍ ؕ وَ اِنْ كَانَ رَجُلٌ يُّوْرَثُ كَلٰلَةً اَوِ امْرَاَةٌ وَّ لَهٗٓ اَخٌ اَوْ اُخْتٌ
فَلِكُلِّ وَاحِدٍ مِّنْهُمَا السُّدُسُ ۚ فَاِنْ كَانُوْٓا اَكْثَرَ مِنْ ذٰلِكَ فَهُمْ شُرَكَآءُ فِي الثُّلُثِ مِنْۢ
بَعْدِ وَصِيَّةٍ يُّوْصٰى بِهَآ اَوْ دَيْنٍ ۙ غَيْرَ مُضَآرٍّ ۚ وَصِيَّةً مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌ حَلِيْمٌ ؕ ﴿۱۲﴾
تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ ؕ وَ مَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ يُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ
خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ وَ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۱۳﴾ وَ مَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ وَ يَتَعَدَّ حُدُوْدَهٗ
يُدْخِلْهُ نَارًا خَالِدًا فِيْهَا ۪ وَ لَهٗ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿۱۴﴾ ع ٢ ١٣

الله توهان کي توهان جي اولاد بابت حڪم ڏي ٿو ته مرد جو حصو ٻن عورتن جي حصي برابر آهي. جيڪڏهن عورتون ٻن کان وڌيڪ آهن ته انهن جي لاءِ ٻه ٽهايون آهن ان مال مان جيڪو وارث ڇڏي ويو آهي ۽ جيڪڏهن رڳو هڪ عورت آهي ته اُن جي لاءِ اڌ آهي. ۽ ميت جي ماءُ ۽ پيءُ هر هڪ لاءِ ڇهون حصو آهي اُن مال جو جيڪو هو ڇڏي ويو آهي. جيڪڏهن ميت جو اولاد آهي ۽ جيڪڏهن ميت بي اولاد آهي ۽ ماءُ پيءُ ئي اُن جا وارث آهن، ته ماءُ جو ٽيون حصو آهي ۽ جيڪڏهن اُن جا ڀائر ۽ ڀيڻيون به آهن ته پوءِ ماءُ لاءِ ڇهين پتي آهي. اهي حصا مرڻ واري جي ڪيل وصيت يا قرض لاهڻ کان پوءِ ٿيندا. توهان جا ابا ڏاڏا يا توهان جا پٽ توهان نٿا ڄاڻو ته انهن مان ڪير اوهان جي لاءِ وڌيڪ فائدي وارو آهي. اِهي الله جا مقرر ڪيل حصا آهن. بيشڪ الله علم وارو، حڪمت وارو آهي. ۽ توهان جي لاءِ اُن مال جو اڌ آهي جيڪو توهان جون زالون ڇڏين، جيڪڏهن انهن کي اولاد نه آهي ۽ جيڪڏهن انهن کي اولاد آهي ته پوءِ توهان جي لاءِ ڇڏيل مال ۾ چوٿون حصو آهي ۽ اهي حصا انهن جي ڪيل وصيت ۽ قرض ادا ڪرڻ کان پوءِ آهن. اوهان جي ڇڏيل ملڪيت ۾ جيڪڏهن اوهان کي اولاد نه آهي ته پوءِ زالن جو چوٿون حصو آهي، پر جيڪڏهن پويان اولاد به آهي ته پوءِ عورتن جو اٺون حصو آهي وصيت ۽ قرض جي ادائگيءَ کان پوءِ ۽ جيڪڏهن ڪو ميراث رکندڙ ڪلال آهي (يعني مرد يا عورت بي اولاد مري ۽ سندس ماءُ پيءُ زنده نه آهن) ۽ انهي جو رڳو هڪ ڀاءُ يا ڀيڻ موجود آهي ته ڀاءُ ۽ ڀيڻ هر هڪ کي ڇهون

حصو ملندو. پر جيڪڏهن سندس ڀائر ۽ ڀينرون ٻن کان وڌيڪ آهن ته سڀني جو گڏيل حصو هڪ ٽهائي ٿيندو ۽ اهو به ڪيل وصيت ۽ قرض جي ادائگيءَ کان پوءِ بشرطيڪ اهو (حقدارن لاءِ) نقصانڪار نه هجي، هيءُ حڪم الله جي طرفان آهي ۽ الله عليم ۽ بردبار آهي. اهي الله جون مقرر حدون آهن. پوءِ جيڪو شخص الله ۽ اُن جي رسول جي اطاعت ڪندو الله هن کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون ۽ اهي ان ۾ هميشه رهندا ۽ اها ئي وڏي ڪاميابي آهي. ۽ جيڪو شخص الله ۽ اُن جي رسول جي نافرماني ڪندو ۽ اُن جي مقرر ڪيل حدن کي اورانگهيندو، ته اُن کي هو باهه ۾ داخل ڪندو جنهن ۾ هو هميشه رهندو ۽ اُن جي لاءِ ذلت وارو عذاب آهي. ١١-١٤

---

ماڻهو جيڪو قانون ٺاهيندو آهي، ته اُن ۾ ڪٿي نه ڪٿي ۽ ڪنهن نه ڪنهن پاسي رعايت ڪري ويندو آهي. قديم قبيلائي دور ۾ ڇوڪرو وڏي اهميت رکندو هو، ڇاڪاڻ ته اُهو قبيلي جي لاءِ طاقت جو ذريعو هو، اُن ڪري وراثت ۾ ڇوڪري کي محروم ڪري سڄو حق ڇوڪري کي ڏنو ويو هو. موجوده زماني ۾ اُن جو رد عمل اِهو ٿيو ته ڇوڪرو ۽ ڇوڪري ٻنهي کي برابر ڪيو ويو. جيڪڏهن پراڻو اصول غير منصفاڻو هو ته موجوده اصول حقيقت پسنداڻو نه آهي. اهو صرف الله آهي جنهن جو علم ۽ حڪمت هن ڳالهه جي ضمانت آهي ته هو جيڪو قانون ڏي اُهو هر قسم جي بي انصافي کان پاڪ هجي. الله هن سلسلي ۾ جيڪي ضابطا مقرر ڪيا آهن، اُهي نه رڳو سماجي انصاف جا حقيقي ذريعا آهن، بلڪ آخرت جي زندگي سان به اُن جو گهرو تعلق آهي. يتيمن جا حق ادا ڪرڻ، وصيت جي تعميل ڪرڻ، وراثت کي اُن جي وارثن تائين پهچائڻ انهن ڪمن مان آهن جن تي ماڻهو جي دوزخ ۽ جنت جو انحصار آهي. ١/٣ حصي ۾ وصيت ڪرڻ شرعًا جائز آهي، پر ڪو شخص اهڙي وصيت ڪري جنهن جو مقصد حقدار کي وراثت کان محروم ڪرڻ هجي، ته اهو اهڙو گناهه آهي، جيڪو اُن کي جهنم جو مستحق بڻائي سگهي ٿو. (من ضار في وصيته القاه الله في وادي جهنم - حديث). هن معاملي ۾ ماڻهوءَ کي الله جي مقرر ڪيل ضابطي تي هلڻو آهي، نه وري ذاتي خواهشن ۽ خانداني مصلحتن تي.

وَ الّٰتِيْ يَاْتِيْنَ الْفَاحِشَةَ مِنْ نِّسَآىِٕكُمْ فَاسْتَشْهِدُوْا عَلَيْهِنَّ اَرْبَعَةً مِّنْكُمْ ۚ فَاِنْ
شَهِدُوْا فَاَمْسِكُوْهُنَّ فِي الْبُيُوْتِ حَتّٰى يَتَوَفّٰىهُنَّ الْمَوْتُ اَوْ يَجْعَلَ اللّٰهُ لَهُنَّ سَبِيْلًا ﴿١٥﴾ وَ
الَّذٰنِ يَاْتِيٰنِهَا مِنْكُمْ فَاٰذُوْهُمَا ۚ فَاِنْ تَابَا وَ اَصْلَحَا فَاَعْرِضُوْا عَنْهُمَا ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ
تَوَّابًا رَّحِيْمًا ﴿١٦﴾ اِنَّمَا التَّوْبَةُ عَلَى اللّٰهِ لِلَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ السُّوْٓءَ بِجَهَالَةٍ ثُمَّ يَتُوْبُوْنَ مِنْ
قَرِيْبٍ فَاُولٰٓىِٕكَ يَتُوْبُ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ ۭ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿١٧﴾ وَ لَيْسَتِ التَّوْبَةُ
لِلَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ السَّيِّاٰتِ ۚ حَتّٰٓى اِذَا حَضَرَ اَحَدَهُمُ الْمَوْتُ قَالَ اِنِّيْ تُبْتُ الْـٰٔنَ وَ لَا
الَّذِيْنَ يَمُوْتُوْنَ وَ هُمْ كُفَّارٌ ۭ اُولٰٓىِٕكَ اَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿١٨﴾

۽ توهان جي عورتن مان جيڪي بدڪاري ڪن ته انهن تي پاڻ مان چار شاهد ڪريو. پوءِ جيڪڏهن اُهي شاهدي ڏين ته پوءِ انهن عورتن کي گهرن ۾ بند رکو، جيستائين انهن تي موت اچي يا الله انهن لاءِ ڪو رستو پيدا

ڪري. ۽ جيڪڏهن توهان مان ڪي ٻہ مرد اُهائي بدڪاري ڪن تہ انهن کي ايذاءُ ڏيو. پوءِ جيڪڏهن هو توبهہ ڪن ۽ پنهنجي اصلاح ڪري وٺن تہ انهن جو خيال ڇڏي ڏيو. بيشڪ الله توبهہ قبول ڪرڻ وارو مهربان آهي. الله تي توبهہ قبول ڪرڻ جو حق رڳو انهن جو آهي جيڪي بُري حرڪت ناداني سان ڪري وجهن ٿا ۽ جلد ئي توبهہ ڪري وٺن ٿا. اُهي ئي آهن جن جي توبهہ الله قبول ڪري ٿو ۽ الله ڄاڻندڙ ۽ حڪمت وارو آهي. ۽ اهڙن ماڻهن جي توبهہ نہ آهي جيڪي مسلسل گناهہ ڪندا رهن ٿا. ايستائين جو موت انهن مان ڪنهن جي سامهون اچي وڃي، تڏهن هو چوي تہ مون هاڻي توبهہ ڪئي ۽ نہ انهن ماڻهن جي توبهہ آهي، جيڪي اُن حال ۾ مرن ٿا جو اهي ڪافر آهن. انهن جي لاءِ تہ اسان دردناڪ عذاب تيار ڪري رکيو آهي. ١٥-١٨

---

ڪو مرد يا عورت جيڪڏهن اهڙو ڪم ڪري وجهي جيڪو شريعت جي نزديڪ گناهہ آهي، تڏهن بہ اُن سان جيڪو معاملو ڪيو ويندو اُهو قانون جي مطابق ڪيو ويندو، نہ وري قانون کان هٽي ڪري. قانون جا تقاضا پورا ڪرڻ کان سواءِ ڪنهن کي بہ مجرم قرار ڏيڻ درست نہ آهي. ڪنهن جو مجرم هجڻ بڻي ڪي اِهو حق نہ ٿو ڏي تہ هو اُن جي خلاف ظالماڻيون ڪارروائيون ڪرڻ لڳي. سزا جو مقصد عدل جو قيام آهي ۽ عدل جو قيام ظلم ۽ بي انصافي سان گڏ نہ ٿو ٿي سگهي ۽ جيڪڏهن گناهہ ڪرڻ وارو توبهہ ڪري ۽ پنهنجي اصلاح ڪري وٺي تہ اُن کان پوءِ لازم ٿي ويندو آهي تہ اُن سان شفقت ۽ درگذر جو معاملو ڪيو وڃي. ڪنهن کي ماضي جي بنياد تي اُن کي ملامت ڪرڻ درست نہ آهي. جڏهن الله توبهہ ڪرڻ وارن جي توبهہ قبول ڪري ٿو ۽ پنهنجي اصلاح ڪرڻ وارن ڏانهن وري مهرباني سان موٽي ٿو تہ انسانن کي ڪهڙو حق آهي تہ اهڙي ماڻهو تي طنز ۽ ملامت ڪن. اِهڙي شخص کي طنز ۽ ملامت جو نشانو بڻائي ڪري ماڻهو پنهنجي پاڻ کي مجرم ثابت ڪري رهيو آهي نہ وري ڪنهن ٻئي شخص کي.

توبهہ جو لفظ زبان سان چوڻ اصل ۾ توبهہ نہ آهي. اِهو پنهنجي گناهہ جي شديد احساس جو نالو آهي. جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي توبهہ ۾ سنجيده هجي ۽ اهڙي شدت سان هُن پنهنجي گناهہ کي محسوس ڪيو هجي تہ اِهو ماڻهوءَ جي لاءِ ايترو سخت معاملو هوندو آهي جو توبهہ ماڻهو جي لاءِ پاڻ کي سزا ڏيڻ جي هم معنيٰ بڻجي ويندي آهي. اِها ڪيفيت ماڻهوءَ جي اندر جيڪڏهن الله جي ڊپ کان پيدا ٿي هجي تہ الله ضرور اُن کي معاف ڪري ڇڏيندو آهي. پر اُنهن ماڻهن جي توبهہ جي الله وٽ ڪابہ قيمت نہ آهي جيڪي ايترا تہ بي خوف هجن جو ڄاڻي واڻي الله جي نافرماني ڪندا رهن ۽ منع ڪرڻ جي باوجود اُن تي قائم رهن، جڏهن دنيا مان وڃڻ جو وقت اچي وڃي تہ چون تہ ”آئون توبهہ ٿو ڪريان“. اهڙي طرح اُنهن ماڻهن جي توبهہ بہ بي فائده آهي، جيڪي آخرت ۾ عذاب کي سامهون ڏسي ڪري پنهنجي جرم جو اقرار ڪندا.

توبهہ جي حقيقت پاڻهي جو پنهنجي رب ڏانهن موٽڻ آهي، تہ جيئن اُن جو رب بہ اُن جي طرف موٽي. توبهہ اُن شخص جي لاءِ آهي، جيڪو وقتي جذبي کان مغلوب ٿي ڪري بُري حرڪت ڪري وجهي، پوءِ اُن جو احتساب ڪندڙ نفس جلد ئي اُن کي پنهنجي غلطي جو احساس ڪرائي ڇڏي ۽ هو برائي کي ڇڏي وري نيڪيءَ جو رستو اختيار ڪري ۽ شريعت جي مطابق پنهنجي زندگي جي اصلاح ڪري وٺي. اهڙو ئي ماڻهو توبهہ ڪرڻ وارو آهي ۽ جيڪو شخص اهڙي طرح توبهہ ڪري اُن جو مثال اهڙو ئي آهي جيئن گهر کان ڀٽڪيل ماڻهو وري گهر موٽي اچي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا يَحِلُّ لَـكُمۡ اَنۡ تَرِثُوا النِّسَآءَ كَرۡهًا ‌ؕ وَلَا تَعۡضُلُوۡهُنَّ لِتَذۡهَبُوۡا
بِبَـعۡضِ مَاۤ اٰتَيۡتُمُوۡهُنَّ اِلَّاۤ اَنۡ يَّاۡتِيۡنَ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ‌ ۚ وَعَاشِرُوۡهُنَّ بِالۡمَعۡرُوۡفِ‌ ۚ فَاِنۡ
كَرِهۡتُمُوۡهُنَّ فَعَسٰۤى اَنۡ تَكۡرَهُوۡا شَيۡــًٔا وَّيَجۡعَلَ اللّٰهُ فِيۡهِ خَيۡرًا كَثِيۡرًا ﴿۱۹﴾ وَاِنۡ اَرَدْتُّمُ
اسۡتِبۡدَالَ زَوۡجٍ مَّكَانَ زَوۡجٍ ۙ وَّاٰتَيۡتُمۡ اِحۡدٰٮهُنَّ قِنۡطَارًا فَلَا تَاۡخُذُوۡا مِنۡهُ شَيۡــًٔا ‌ؕ
اَتَاۡخُذُوۡنَهٗ بُهۡتَانًا وَّاِثۡمًا مُّبِيۡنًا ﴿۲۰﴾ وَكَيۡفَ تَاۡخُذُوۡنَهٗ وَقَدۡ اَفۡضٰى بَعۡضُكُمۡ اِلٰى بَعۡضٍ وَّ
اَخَذۡنَ مِنۡكُمۡ مِّيۡثَاقًا غَلِيۡظًا ﴿۲۱﴾ وَلَا تَنۡكِحُوۡا مَا نَكَحَ اٰبَآؤُكُمۡ مِّنَ النِّسَآءِ اِلَّا مَا قَدۡ
ع ٣ ٨ ١٤ سَلَفَ‌ ؕ اِنَّهٗ كَانَ فَاحِشَةً وَّمَقۡتًا ؕ وَسَآءَ سَبِيۡلًا ﴿۲۲﴾

اي ايمان وارؤ! توهان لاءِ اهو جائز نہ آهي جو توهان زوريءَ عورتن جا وارث بڻجو ۽ نہ انهن کي ان لاءِ روڪي رکو تہ توهان جيڪو ڪجهہ انهن کي ڏنو آهي اُن مان ڪجهہ حصو انهن کان وٺو. سواءِ ان صورت ۾ جو اهي پڌري بي حيائي ڪن ۽ ساڻن سٺي نموني سان هلو. پر جيڪڏهن اهي توهان کي ناپسند هجن، ٿي سگهي ٿو تہ هڪ شيءِ توهان کي پسند نہ هجي، پر الله اُن ۾ توهان جي لاءِ وڏي ڀلائي رکي هجي. ۽ جيڪڏهن توهان هڪ زال جي بجاءِ ٻي زال پرڻجڻ گهرو ٿا ۽ توهان اُن کي گهڻو مال ڏئي چڪا آهيو تہ توهان اُن مان ڪجهہ واپس نہ وٺو. ڇا اوهان اُن تي بهتان لڳائي ۽ نسورو ظلم ڪندي واپس وٺندؤ. ۽ توهان ڪهڙيءَ طرح اُن کي وٺندؤ جڏهن تہ توهان هڪٻئي سان صحبت ڪري چڪا آهيو ۽ هو توهان کان پڪو عهد وٺي چڪيون آهن. ۽ انهن عورتن سان نڪاح نہ ڪريو جن سان توهان جا پيئر نڪاح ڪري چڪا آهن، پر جيڪو پهرين ٿي چڪو سو ٿي چڪو. بي شڪ اِها بي حيائي آهي ۽ نفرت جي ڳالهہ آهي ۽ تمام برو طريقو آهي. ١٩-٢٢

---

مرڻ واري جي مال ۾ يقينًا پوئين جو وراثت ۾ حق آهي. پر اُن جو مطلب اِهو نہ آهي تہ مرڻ واري جي زال کي بہ پوءِ وارا ماڻهو پنهنجي ميراث سمجهي وٺن ۽ جهڙي طرح چاهين اُن کي استعمال ڪن. مال هڪ بي حس ۽ محڪوم شيءِ آهي ۽ اُن ۾ وراثت هلندي ايندي آهي. پر انسان هڪ زنده ۽ آزاد هستي آهي. اُن کي اختيار آهي تہ هو پنهنجي مرضي سان پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪري. عورت ۾ جيڪڏهن ڪا جسماني يا مزاج جي ڪمزوري آهي تہ اُن کي برداشت ڪندي عورت کي موقعو ڏنو وڃي تہ هو الله جي ڏنل ٻين صلاحيتن کي استعمال ڪري گهر جي تعمير ۾ پنهنجو حصو ادا ڪري. ماڻهوءَ کي گهرجي تہ ظاهري ناپسندگي کي وساري باهمي تعلق کي نڀائي. ڪنهن خاندان ۽ اهڙي طرح ڪنهن معاشري جي ترقي ۽ استحڪام جو راز اِهو آهي تہ اُن جا فرد هڪٻئي جي ڪمين کي نظر انداز ڪندي انهن جي خوبين کي عمل ۾ آڻڻ جو موقعو ڏين. جيڪي ماڻهو الله جي لاءِ موجوده دنيا ۾ صبر ۽ برداشت جو طريقو اختيار ڪن سي ئي اهي ماڻهو آهن، جيڪي آخرت جي جنتن ۾ داخل ڪيا ويندا.

جڏهن ماڻهوءَ کي پنهنجو شريڪ حيات ناپسند هجي ۽ هو صبر جو طريقو اختيار نہ ڪري عليحدگيءَ جو فيصلو ڪري، تہ اڪثر ائين ٿيندو آهي جو هن عليحدگي کي حق بجانب ثابت ڪرڻ جي لاءِ هو ٻي ڌر جي خامين کي وڌائي بيان ڪندو آهي. هو اُن تي ڪوڙا الزام هڻندو آهي. هو اُن جي خلاف

ظالماڻي ڪارروائي ڪندو آهي، ته جيئن هو گهبرائجي پاڻ ئي ڀڄي وڃي. اهڙي طرح جڏهن ماڻهو ڪنهن سان تعلق ٽوڙي ٿو ته ضد ۾ اچي ٻي ڌر کي ڏنل شيون اُن کان واپس کسڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، پر اهي سڀ عهد جي خلاف ورزي آهن ۽ عهد الله جي نظر ۾ اهڙي مقدس شيءِ آهي ته جيڪڏهن اهو لکت ۾ نه هجي تڏهن به اُن جي پابندي ايتري ئي ضروري آهي جيتري لکيل عهد جي.

”جيڪو ٿي چڪو سو ٿي چڪو“ جو اصول صرف نڪاح جي متعلق نه آهي. بلڪ اِهو هڪ عام اصول آهي. زندگيءَ جي نظام ۾ جڏهن به ڪا تبديلي ايندي آهي، چاهي اها گهريلو زندگيءَ ۾ هجي يا قومي زندگيءَ ۾ ته ماضيءَ جا گهڻا ڪم اهڙا هوندا آهن، جيڪي نئين انقلاب جي معيار مطابق غلط نظر ايندا آهن. اهڙن موقعن تي ماضيءَ کي ڦلورڻ ۽ گذريل غلطين تي حڪم لاڳو ڪرڻ بي شمار نوان مسئلا پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجي ويندو آهي. ان ڪري صحيح طريقو اِهو آهي ته ماضيءَ کي وساري ڇڏجي ۽ رڳو حال ۽ مستقبل جي اصلاح تي پنهنجون ڪوششون لڳائي ڇڏجن.

”۽ انهن سان چڱي طريقي سان گذر بسر ڪريو. جيڪڏهن اهي توهان کي ناپسند آهن ته ٿي سگهي ٿو ته توهان کي هڪ شيءِ پسند نه هجي، پر الله اُن ۾ توهان جي لاءِ ڪا وڏي ڀلائي رکي هجي“.

اهو جملو جيتوڻيڪ زال مڙس جي تعلق جي باري ۾ آيو آهي، پر اُن جي اندر هڪ عام تعليم به آهي. قرآن جو اِهو عام طريقو آهي ته هڪ خاص معاملي لاءِ حڪم ٻڌائيندي اُن ۾ هڪ اهڙي جامع هدايت ڏئي ڇڏيندو آهي، جنهن جو تعلق ماڻهوءَ جي سڄي زندگي سان هجي.

دنيا جي زندگي ۾ انسان جي لاءِ گڏجي رهڻ کان سواءِ چارو نه آهي. ڪو شخص بلڪل الڳ زندگي گذاري نه ٿو سگهي. جيئن ته طبيعتون الڳ الڳ آهن. ان ڪري جڏهن به ڪجھ ماڻهو ملي ڪري رهندا، ته اُنهن ۾ لازمي شڪايتون پيدا ٿينديون. اهڙي حالت ۾ قابل عمل صورت رڳو اها آهي ته شڪايتن کي نظر انداز ڪيو وڃي ۽ سٺي نموني تعلق نڀائڻ جو اصول اختيار ڪيو وڃي.

اڪثر ائين ٿيندو آهي جو پنهنجي ساٿي جي هڪ خرابي ماڻهوءَ جي سامهون ايندي آهي ۽ اُنهي کي وٺي پنهنجي ساٿي کان رُسي ويندو آهي، حالانڪ جيڪڏهن هو سوچي ته اُن کي نظر ايندو ته هر ناموافق صورتحال ۾ ڪو خير موجود هوندو آهي. ڪڏهن ڪنهن واقعي ۾ ماڻهوءَ جي لاءِ صبر جي تربيت جو امتحان هوندو آهي. ڪڏهن اُن جي اندر الله جي طرف رجوع ۽ توبه ڪرڻ جي سکيا هوندي آهي. ڪڏهن هڪ ننڍي تڪليف ۾ ڪو وڏو سبق لکيل هوندو آهي. وغيره

حُرِّمَتْ عَلَيْكُمْ اُمَّهٰتُكُمْ وَ بَنٰتُكُمْ وَ اَخَوٰتُكُمْ وَ عَمّٰتُكُمْ وَ خٰلٰتُكُمْ وَ بَنٰتُ الْاَخِ وَ بَنٰتُ الْاُخْتِ وَ اُمَّهٰتُكُمُ الّٰتِيْٓ اَرْضَعْنَكُمْ وَ اَخَوٰتُكُمْ مِّنَ الرَّضَاعَةِ وَ اُمَّهٰتُ نِسَآىِٕكُمْ وَ رَبَآىِٕبُكُمُ الّٰتِيْ فِيْ حُجُوْرِكُمْ مِّنْ نِّسَآىِٕكُمُ الّٰتِيْ دَخَلْتُمْ بِهِنَّ ؗ فَاِنْ لَّمْ تَكُوْنُوْا دَخَلْتُمْ بِهِنَّ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ ؗ وَ حَلَآىِٕلُ اَبْنَآىِٕكُمُ الَّذِيْنَ مِنْ اَصْلَابِكُمْ ۙ وَ اَنْ تَجْمَعُوْا بَيْنَ الْاُخْتَيْنِ اِلَّا مَا قَدْ سَلَفَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۲۳﴾

الجزء الخامس (٥)

وَّ الْمُحْصَنٰتُ مِنَ النِّسَآءِ اِلَّا مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ ۚ كِتٰبَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ ۚ وَ اُحِلَّ لَكُمْ
مَّا وَرَآءَ ذٰلِكُمْ اَنْ تَبْتَغُوْا بِاَمْوَالِكُمْ مُّحْصِنِيْنَ غَيْرَ مُسٰفِحِيْنَ ؕ فَمَا اسْتَمْتَعْتُمْ بِهٖ
مِنْهُنَّ فَاٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ فَرِيْضَةً ؕ وَ لَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْمَا تَرٰضَيْتُمْ بِهٖ مِنْۢ بَعْدِ
الْفَرِيْضَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿٢٤﴾ وَ مَنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ مِنْكُمْ طَوْلًا اَنْ يَّنْكِحَ
الْمُحْصَنٰتِ الْمُؤْمِنٰتِ فَمِنْ مَّا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ مِّنْ فَتَيٰتِكُمُ الْمُؤْمِنٰتِ ؕ وَ اللّٰهُ اَعْلَمُ
بِاِيْمَانِكُمْ ؕ بَعْضُكُمْ مِّنْۢ بَعْضٍ ۚ فَانْكِحُوْهُنَّ بِاِذْنِ اَهْلِهِنَّ وَ اٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ
بِالْمَعْرُوْفِ مُحْصَنٰتٍ غَيْرَ مُسٰفِحٰتٍ وَّ لَا مُتَّخِذٰتِ اَخْدَانٍ ۚ فَاِذَاۤ اُحْصِنَّ فَاِنْ اَتَيْنَ
بِفَاحِشَةٍ فَعَلَيْهِنَّ نِصْفُ مَا عَلَى الْمُحْصَنٰتِ مِنَ الْعَذَابِ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ خَشِيَ الْعَنَتَ
ع مِنْكُمْ ؕ وَ اَنْ تَصْبِرُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٥﴾

توهان تي حرام ڪيون ويون آهن اوهان جون مائرون، اوهان جو ڌيئرون، اوهان جون ڀينرون، اوهان جون ڦڦيون، اوهان جون ماسيون ۽ اوهان جون ڀائٽيون ۽ ڀاڻيجيون ۽ توهان جون اهي مائرون جن توهان کي کير پياريو ۽ توهان جون ٿڃ شريڪ ڀينرون، توهان جي زالن جون مائرون، توهان جي زالن جون اهي ڌيئرون جيڪي توهان جي هنج ۾ پليون آهن ۽ جن جي مائرن سان توهان صحبت ڪئي، پر جي انهن سان اوهان صحبت نه ڪئي آهي ته انهن عورتن جي ڌيئرن سان نڪاح ڪرڻ ۾ ڪو گناهه نه آهي ۽ اوهان جي پٽ مان پيدا ٿيل پٽن جون زالون به حرام آهن ۽ هي به ته ٻن ڀينرن کي هڪ وقت نڪاح ۾ رکو، پر جيڪي ٿي گذريو بيشڪ الله بخشڻ وارو مهربان آهي. ۽ پرڻيل عورتن سان به نڪاح حرام آهي، سواءِ ان جي جيڪي جنگ ۾ توهان جي قبضي ۾ آيون هجن. اِهو الله جو حڪم آهي اوهان تي. اُن ڪان سواءِ جيڪي به عورتون آهن اُهي سڀ اوهان جي لاءِ حلال آهن بشرطيڪ پنهنجي مال جي ذريعي انهن کي حاصل ڪيو. ڪين پنهنجي نڪاح جي ڪڙي ۾ محفوظ ڪري ۽ نه فقط شهوت پوري ڪرڻ لاءِ. پوءِ جن عورتن مان اوهان فائدو ونو ته انهن کي انهن جو مقرر ڪيل حق مهر ادا ڪيو. مهر مقرر ڪرڻ کان پوءِ هڪٻئي جي رضامندي سان گهٽ وڌ ڪريو ته اوهان تي ڪوبه گناهه نه آهي. بيشڪ الله ڄاڻڻ وارو حڪمت وارو آهي. ۽ جيڪو ماڻهو توهان مان ايتري طاقت نه ٿو رکي جو آزاد مسلمان عورتن سان نڪاح ڪري سگهي، ته جيڪي مؤمن ٻانهيون توهان جي قبضي ۾ هجن انهن سان نڪاح ڪري ۽ الله توهان جي ايمان کي بهتر ڄاڻي ٿو. توهان پاڻ ۾ هڪ جنس آهيو، پوءِ سندن مالڪن جي اجازت سان انهن سان نڪاح ڪريو ۽ سندن حق مهر دستور موجب ادا ڪريو، اهڙي طرح جو اُهي نڪاح جي ڪڙي ۾ محفوظ هجن، نه بدڪاري ڪن يا لڪَ ڇپ ۾ دوستي ڪرڻ واريون هجن. پوءِ جڏهن نڪاح ۾ آيون ان ڪانپوءِ جيڪڏهن هو بي حيائيءَ جو ڪم ڪن ته انهن تي اڌ سزا آهي آزاد عورت جي مقابلي ۾، هي اوهان مان انهن لاءِ آهن جن کان گناهه سرزد ٿي وڃڻ جو خوف هجي. پر جيڪڏهن صبر ڪريو ته اِهو اوهان لاءِ بهتر آهي ۽ الله بخشڻ وارو رحم ڪرڻ وارو آهي. ٢٣-٢٥

---

انسان جي اندر گهڻيون فطري خواهشون آهن. اُنهن مان هڪ جنسي خواهش آهي، جيڪا عورت ۽ مرد جي وچ ۾ هوندي آهي. شريعت سڀني انساني جذبن جي حدبندي ڪندي آهي. اهڙي طرح

شريعت جنسي جذبن جي لاءِ بہ حدون ۽ ضابطا مقرر ڪيا آهن. شريعت الٰهي جي مطابق عورت ۽ مرد ۾ صرف اُهوئي جنسي تعلق صحيح آهي جيڪو نڪاح جي صورت ۾ هڪ سنجيده معاشرتي معاهدي جي حيثيت سان قائم ٿئي. پوءِ جهڙي طرح فطري جذبن جي تسڪين ضروري آهي، اهڙي طرح اِهو بہ ضروري آهي تہ خانداني زندگي ۾ پاڪيزگي جي فضا موجود رهي. اُن مقصد جي لاءِ خانداني، ٿڃ شريڪ ۽ ساهراڻن رشتن تحت قائم ٿيڻ وارن ڪجھ رشتن کي حرام قرار ڏنو ويو آهي، تہ جيئن ويجهن رشتن جي وچ ۾ تعلقات جنسي جذبات کان مٿانهان هجن.

انسان جي عزت ۽ وڏائي جو معيار اُهي ڏسڻ ۾ اچڻ واريون شيون نہ آهن جن تي ماڻهو هڪبئي جي عزت ۽ وڏائي کي ماپيندا آهن. بلڪ وڏائيءَ جو معيار اهو ڏسڻ ۾ نہ اچڻ وارو ايمان آهي جيڪو صرف الله جي علم ۾ هوندو آهي. ڇڻ تہ ڪنهن جو عزت وارو هجڻ يا بي عزت هجڻ اهڙي شيءِ نہ آهي جيڪا ماڻهو کي معلوم هجي. اِها هڪ نامعلوم شي آهي ۽ ان جو فيصلو آخرت ۾ الله جي عدالت ۾ ٿيڻ وارو آهي. اِهو هڪ اهڙو تصور آهي جيڪو ماڻهوءَ کان وڏائيءَ جو احساس کسي ٿو وٺي. وڏائي جو احساس ئي اُها شيءِ آهي جيڪا اڪثر سماجي خرابين جي اصل جڙ آهي.

يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُبَيِّنَ لَكُمْ وَ يَهْدِيَكُمْ سُنَنَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَ يَتُوْبَ عَلَيْكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٦﴾ وَ اللّٰهُ يُرِيْدُ اَنْ يَّتُوْبَ عَلَيْكُمْ ۫ وَ يُرِيْدُ الَّذِيْنَ يَتَّبِعُوْنَ الشَّهَوٰتِ اَنْ تَمِيْلُوْا مَيْلًا عَظِيْمًا ﴿٢٧﴾ يُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّخَفِّفَ عَنْكُمْ ۚ وَ خُلِقَ الْاِنْسَانُ ضَعِيْفًا ﴿٢٨﴾

الله چاهي ٿو تہ توهان جي لاءِ بيان ڪري ۽ توهان کي انهن ماڻهو جي طريقن جي هدايت ڏي جيڪي توهان کان اڳي گذري ويا ۽ توهان تي توجهہ ڪري، الله ڄاڻڻ وارو حڪمت وارو آهي. ۽ الله چاهي ٿو تہ توهان تي توجهہ ڪري ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجن خواهشن جي پيروي ڪري رهيا آهن هو چاهين ٿا تہ توهان سڌي راهہ کان تمام پري نڪري وڃو. الله چاهي ٿو تہ توهان تي بار کي هلڪو ڪري ۽ انسان ڪمزور بڻايو ويو آهي. ٢٦-٢٨

---

زندگيءَ جا جيڪي طريقا قرآن ۾ ٻڌايا ويا آهن، اُهي ڪي نوان نہ آهن. هر دور ۾ الله پنهنجن پيغمبرن جي ذريعي انهن جو اعلان ڪرائيندو رهيو آهي. هر زماني جي خداپرست ماڻهن جو اُن تي عمل هو. پر قديم آسماني ڪتابن جي محفوظ نہ رهڻ جي ڪري اِهي طريقا گم ٿي ويا. هاڻي الله پنهنجي آخري رسولﷺ جي ذريعي انهن کي عربي زبان ۾ نازل ڪيو ۽ انهن کي هميشہ جي لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيو. اڄ جڏهن ڪا جماعت انهن طريقن مطابق پنهنجي زندگي بدلائي ٿي تہ ڇڻ هو صالحن جي اُن ابدي قافلي ۾ شامل ٿي ويندي آهي، جنهن کي الله جي رحمتن مان حصو مليو جيڪي هر زماني ۾ الله جي اُن رستي تي هليا جنهن کي الله پنهنجي وفادار ٻانهن جي لاءِ کوليو هو.

هر انساني گروهہ ۾ ائين ٿيندو آهي جو ڪجھ شيون صدين جي رواج ڪانپوءِ بُڻ بڻياد بڻجي وڃن ٿيون. هو ماڻهوءَ جي ذهنن تي اهڙي طرح ڇائنجي وڃن ٿيون جو انهن جي خلاف سوچڻ مشڪل ٿي ويندو آهي. جڏهن الله جو ڪو ٻانهو معاشري جي اصلاح جو ڪم شروع ڪندو آهي تہ اهڙي قسم جا ماڻهو اعتراض ڪندا آهن. پنهنجي ڄاتل طريقن کي ڇڏي اڻڄاتل طريقن کي اختيار ڪرڻ انهن جي

لاءِ سخت مشڪل ٿي ويندو آهي. هو اهڙي اصلاحي تحريڪ جا دشمن بڻجي ويندا آهن، جيڪا انهن کي اُنهن جي ابن ڏاڏن جي طريقن کان هٽائڻ چاهي ٿي. هن سلسلي ۾ مذهبي طبقي جو رد عمل اجا به وڌيڪ شديد هوندو آهي. جڏهن دين جو اندروني پهلو ڪمزور هوندو آهي ته اجايا بحث شروع ٿي ويندا آهن. ان ڪانپوءِ طور طريقن جو هڪ ظاهري ڍانچو ئاهي وٺبو آهي. ماٺهو دين جي اصل ڪيفيت کان خالي هوندا آهن ۽ ظاهري طور طريقن جي پابندي ڪري سمجهن ٿا ته هو خدا جي دين تي قائم آهن. اِهو هٿ ٺوڪيل دين بزرگن سان منسوب ٿي ڪري آهستي آهستي مقدس بڻجي ويندو آهي ۽ ڳالهه ايستائين وڃي پهچندي آهي جو الله جو سادو ۽ فطري دين انهن کي اجنبي لڳندو آهي ۽ سندن هٿ ٺوڪيل ۽ پابندين وارو دين برحق نظر ايندو آهي. اهڙي حالت ۾ جيڪا تحريڪ اصلي ۽ ابتدائي دين کي زنده ڪرڻ لاءِ شروع ٿئي ته هو اُن جا شديد مخالف ٿي ويندا آهن. ڇاڪاڻ ته اُن ۾ انهن کي پنهنجي دينداريءَ جي نفي ٿيندي نظر اچي ٿي. مثال طور خدا جي شريعت ۾ حيض جي زماني ۾ عورت سان مباشرت ناجائز آهي، اُن کان علاوه ٻيا تعلقات اهڙي طرح رکي سگهجن ٿا جهڙي طرح عام ڏينهن ۾ هوندا آهن. يهودين هن سادي حڪم ۾ اضافو ڪري اِهو مسئلو ٺاهيو ته ماهواري جي ڏينهن ۾ عورت جي ڇپايل شين کي ڪائڻ، اُن جي هٿ جو پاڻي پيئڻ، اُن سان گڏ ويهڻ، اُن کي پنهنجي هٿ سان ڇهڻ سڀ ناجائز يا گهٽ ۾ گهٽ تقويٰ جي خلاف آهن. اهڙيءَ طرح حيض واري عورت کان مڪمل طور پري رهڻ ڇڻ ته پارسائي جي علامت بڻجي ويئي. رسول الله ﷺ مديني ۾ جڏهن الله جي اصل شريعت کي زنده ڪيو ته يهودي بگڙي پيا. اُها شيءِ جنهن تي انهن پنهنجي پارسائيءَ جي عمارت تعمير ڪئي هئي سا اچانڪ ڪرندي نظر پئي آئي. خدا جي سادي دين کي جڏهن به زنده ڪيو وڃي ٿو ته اهي ماڻهو اُن جا سخت مخالف ٿي ويندا آهن جيڪي هٿ ٺوڪيل دين تي پنهنجي دينداريءَ جي عمارت ٺاهي ويٺا هجن. اِهو سندن سرداري کسڻ جي هم معنيٰ هوندو آهي ۽ سرداري جو کسجڻ ڪير به برداشت نه ٿو ڪري.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَاْكُلُوْٓا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ اِلَّآ اَنْ تَكُوْنَ تِجَارَةً عَنْ
تَرَاضٍ مِّنْكُمْ ۣ وَلَا تَقْتُلُوْٓا اَنْفُسَكُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُمْ رَحِيْمًا ﴿٢٩﴾ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ
عُدْوَانًا وَّظُلْمًا فَسَوْفَ نُصْلِيْهِ نَارًا ۭ وَكَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرًا ﴿٣٠﴾ اِنْ تَجْتَنِبُوْا كَبَاۗىِٕرَ
مَا تُنْهَوْنَ عَنْهُ نُكَفِّرْ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَنُدْخِلْكُمْ مُّدْخَلًا كَرِيْمًا ﴿٣١﴾ وَلَا تَتَمَنَّوْا مَا
فَضَّلَ اللّٰهُ بِهٖ بَعْضَكُمْ عَلٰي بَعْضٍ ۭ لِلرِّجَالِ نَصِيْبٌ مِّمَّا اكْتَسَبُوْا ۭ وَلِلنِّسَاۗءِ نَصِيْبٌ
مِّمَّا اكْتَسَبْنَ ۭ وَسْـَٔـلُوا اللّٰهَ مِنْ فَضْلِهٖ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا ﴿٣٢﴾ وَلِكُلٍّ
جَعَلْنَا مَوَالِيَ مِمَّا تَرَكَ الْوَالِدٰنِ وَالْاَقْرَبُوْنَ ۭ وَالَّذِيْنَ عَقَدَتْ اَيْمَانُكُمْ فَاٰتُوْهُمْ
نَصِيْبَهُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدًا ﴿٣٣﴾

اي ايمان وارؤ! پاڻ ۾ هڪٻئي جو مال ناحق نه کائو پر ائين جو تجارت ڪيو پاڻ ۾ هڪٻئي جي رضامندي سان. ۽ خون نه ڪريو پاڻ ۾. بيشڪ الله توهان تي وڏو مهربان آهي. ۽ جيڪو شخص زيادتي ۽ ظلم سان ائين ڪندو

اُن کي اسان ضرور باهہ ۾ وجهنداسين ۽ اِهو الله جي لاءِ آسان آهي. جيڪڏهن توهان انهن وڏن گناهن کان بچندا رهيا جن کان توهان کي منع ڪيو ويو آهي تہ اسان توهان جي ننڍين بُرائين کي معاف ڪنداسون ۽ توهان کي عزت واري جاءِ ۾ داخل ڪنداسون. ۽ توهان اهڙي شيءِ جي تمنا نہ ڪريو جنهن ۾ الله توهان مان هڪ کي ٻئي تي فضيلت ڏني آهي. مردن لاءِ حصو آهي سندن ڪمائي جو ۽ عورتن لاءِ حصو آهي سندن ڪمائي جو. ۽ الله کان سندس فضل گهرو. بيشڪ الله هر شيءِ جو علم رکي ٿو ۽ اسان والدين ۽ مائٽن جي ڇڏيل ۾ هر هڪ جي لاءِ وارث مقرر ڪيا آهن ۽ جن سان توهان جو عهد آهي تہ انهن کي انهن جو حصو ڏئي ڇڏيو. بيشڪ هر شيءِ الله جي سامهون آهي. ٢٩-٣٣

---

هڪڙي جو مال ٻئي تائين پهچڻ جي هڪ صورت اِها آهي جو هڪ ماڻهو ٻئي جي ضرورت پوري ڪري ۽ اُن کان پنهنجي محنت جو معاوضو وٺي. اِها تجارت آهي ۽ شريعت جي مطابق روزي ڪمائڻ جو اهوئي صحيح طريقو آهي. ان ڪانسواءِ چوري، دوکي، ڪوڙ، رشوت، وياج ۽ جوا وغيره سان جيڪو مال ڪمائجي ٿو، اهو الله جي نظر ۾ ناجائز طريقي سان ڪمايل مال آهي. اهي ڦر لٽ جا مختلف قسم آهن ۽ جيڪي ماڻهو تجارت جي بجاءِ ڦر لٽ کي پنهنجي گذر سفر جو ذريعو بڻائن ٿا، اهي ڇاهي دنيا ۾ ڪامياب رهن، پر آخرت ۾ انهن جي لاءِ باهہ جو عذاب آهي. ماڻهوءَ جي جان جو معاملو بہ ائين ئي آهي. ماڻهو کي مارڻ جو حق صرف هڪ قائم ٿيل حڪومت کي آهي، جيڪا الله جي قانون جي مطابق الزام ثابت ٿيڻ کان پوءِ اُن جي خلاف ڪارروائي ڪري. اُن کان سواءِ جيڪو شخص ڪنهن کي ان جي زندگي کان محروم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تہ هو حرام ٿيل فعل ڪندو آهي، جنهن جي لاءِ الله وٽ سخت سزا آهي. الله وٽ سيني کان وڏو جرم حد کان لنگهڻ ۽ ناحق ڪنهن کي ستائڻ آهي. جيڪي ماڻهو حد کان لنگهڻ ۽ ظلم کان پاڻ کي بچائين، انهن سان الله اِهو خصوصي معاملو فرمائيندو جو هو آخرت جي دنيا ۾ اهڙي طرح داخل ٿيندا جو انهن جون معمولي ڪوتاهيون ۽ غلطيون انهن کان پري ٿي چڪيون هونديون.

دنيا ۾ هڪ ماڻهو ۽ ٻئي ماڻهو جي وچ ۾ فرق رکيو ويو آهي. ڪنهن کي جسماني ۽ ذهني قوتن مان گهٽ حصو مليو آهي ۽ ڪنهن کي وڌيڪ. ڪو سٺين حالتن ۾ پيدا ٿيندو آهي ۽ ڪو بُرين حالتن ۾، ڪنهن وٽ وڏا وڏا ذريعا ۽ وسيلا آهن ۽ ڪنهن وٽ معمولي وسيلا. ماڻهو جڏهن ڪنهن ٻئي کي پاڻ کان وڌيڪ ڏسندو آهي تہ اُن جي اندر يڪدم اُن جي خلاف ساڙ پيدا ٿي ويندو آهي. اُن سان اجتماعي زندگيءَ ۾ حسد، دشمني ۽ پاڻ ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي ويندي آهي. پر انهن شين جي لحاظ کان پنهنجي پاڻ کي يا ٻين کي پرکڻ ناداني آهي. اِهي سڀ دنيا جي اهميت جون شيون آهن. اِهي دنيا ۾ مليون آهن ۽ دنيا ئي ۾ رهجي وڃڻ واريون آهن. اصل اهميت آخرت جي ڪاميابي جي آهي ۽ آخرت جي ڪاميابيءَ ۾ انهن شين جو ڪو بہ دخل نہ آهي. آخرت جي ڪاميابي جو دارومدار اُن عمل تي آهي جيڪو ماڻهو پنهنجي ارادي ۽ اختيار سان الله لاءِ ڪندو آهي. ان ڪري عقلمندي اِها آهي جو ماڻهو حسد کان پنهنجي پاڻ کي بچائي ۽ الله کان توفيق جي دعا ڪندي پنهنجي پاڻ کي آخرت جي لاءِ عمل ڪرڻ ۾ لڳائي ڇڏي.

اَلرِّجَالُ قَوّٰمُوْنَ عَلَى النِّسَآءِ بِمَا فَضَّلَ اللّٰهُ بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ وَّ بِمَآ اَنْفَقُوْا مِنْ

اَمۡوَالِهِمۡ ؕ فَالصّٰلِحٰتُ قٰنِتٰتٌ حٰفِظٰتٌ لِّلۡغَيۡبِ بِمَا حَفِظَ اللّٰهُ ؕ وَ الّٰتِىۡ تَخَافُوۡنَ
نُشُوۡزَهُنَّ فَعِظُوۡهُنَّ وَ اهۡجُرُوۡهُنَّ فِى الۡمَضَاجِعِ وَ اضۡرِبُوۡهُنَّ ۚ فَاِنۡ اَطَعۡنَكُمۡ فَلَا تَبۡغُوۡا
عَلَيۡهِنَّ سَبِيۡلًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيًّا كَبِيۡرًا ﴿۳۴﴾ وَ اِنۡ خِفۡتُمۡ شِقَاقَ بَيۡنِهِمَا فَابۡعَثُوۡا حَكَمًا
مِّنۡ اَهۡلِهٖ وَ حَكَمًا مِّنۡ اَهۡلِهَا ۚ اِنۡ يُّرِيۡدَاۤ اِصۡلَاحًا يُّوَفِّقِ اللّٰهُ بَيۡنَهُمَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ
عَلِيۡمًا خَبِيۡرًا ﴿۳۵﴾

مرد عورتن جي مٿان قوام (سربراهه) آهن. اُن ڪري جو الله هڪ کي ٻئي جي مٿان فضيلت ڏني آهي ۽ ان ڪري جو مرد پنهنجو مال خرچ ڪن ٿا. پوءِ جيڪي نيڪ عورتون آهن، اهي فرمانبرداري ڪرڻ واريون، پر پٺ نگراني ڪنديون آهن الله جي حفاظت سان. ۽ جن عورتن مان توهان کي سرڪشيءَ جو انديشو هجي انهن کي سمجهايو ۽ انهن کي اُنهن جي بسترن ۾ اڪيلو ڇڏي ڏيو ۽ انهن کي سزا ڏيو. پوءِ جيڪڏهن توهان جي فرمانبرداري ڪن ته اُنهن جي خلاف الزام جو بهانو نه ڳوليو. بيشڪ الله سڀ کان مٿانهون آهي ۽ تمام وڏو آهي. ۽ جيڪڏهن توهان کي زال ۽ مڙس جي وچ ۾ اڻبڻت جو انديشو هجي ته هڪ منصف مرد جي ڪٽنب مان مقرر ڪيو ۽ هڪ منصف عورت جي ڪٽنب مان مقرر ڪيو. جيڪڏهن ٻئي صلح گهرندا ته الله انهن جي وچ ۾ ٺاهه جي صورت پيدا ڪندو. بيشڪ الله سڀ ڪجهه ڄاڻڻ وارو باخبر آهي. ٣٤-٣٥

---

جتي به ماڻهن جو ڪو مجموعو هجي، چاهي خاندان جي صورت ۾ هجي يا رياست جي صورت ۾ ضروري آهي جو اُن جي مٿان سردار ۽ سربراهه هجي ۽ اِهو سربراهه لازمًا هڪڙو ئي ٿي سگهي ٿو. دنيا جي باري ۾ الله جو ٺاهيل جيڪو منصوبو آهي، اُن ۾ خاندان جي سربراهي جي لاءِ مرد کي مقرر ڪيو ويو آهي ۽ اُن ئي لحاظ کان اُن جي تخليق ٿي آهي. مرد جي بناوٽ ۽ عورت جي بناوٽ ۾ جيڪو حياتياتي ۽ نفسياتي فرق آهي، اُهو الله جي اُن ئي تخليقي منصوبي جي مطابق آهي. هاڻي جيڪڏهن ڪجهه ماڻهو الله جي منصوبي جي خلاف هلن ته اهو رڳو بگاڙ پيدا ڪرڻ جو سبب بڻبا. ڄاڪاڻ ته خدا جو ڪارخانو ته مرد ۽ عورت کي بدستور پنهنجي منصوبي جي مطابق ٺاهيندو رهندو. جنهن ۾ ”قواميت“ جي صلاحيت مرد کي ڏنل هوندي ۽ ”اطاعت“ جي صلاحيت عورت کي. جڏهن ته انهن جي معاشرتي استعمال ۾ خدائي تخليق جو لحاظ نه ٿي رهيو هوندو ته اهڙي عمل جو نتيجو هن دنيا ۾ رڳو بگاڙ آهي.

بهترين عورت اُها آهي، جيڪا الله جي تخليقي منصوبي ۾ پنهنجي پاڻ کي شامل ڪندي مرد جي برتري تسليم ڪري وٺي. اهڙي طرح بهترين مرد اُهو آهي جيڪو پنهنجي برتر حيثيت جي ڪري اُن حقيقت کي وساري نه ڇڏي ته الله هن کان به وڏيڪ مٿانهون آهي. الله جي عدالت ۾ عورت ۽ مرد جو ڪو فرق نه آهي. اِهو فرق رڳو دنيا جي انتظام ۽ لحاظ کان آهي، نه وري آخرت ۾ انعام جي تقسيم جي لحاظ کان. مرد کي گهرجي ته هو عورت جي حق ۾ پنهنجن ذميدارين کي ادا ڪرڻ جو پورو اهتمام ڪري. ڪا عورت جيڪڏهن اهڙي هجي جيڪا مرد جي انتظامي وڏائيءَ کي نه مڃي ته ائين ڪڏهن به نه ٿيڻ کپي ته مرد جي اندر انتقام جو جذبو پيدا ٿئي يا هو الزام هڻي عورت کي بدنام ڪري. ڪا به برتري ڪنهن کي انصاف جي پابندي کان آجو نٿي ڪري. البت خصوصي حالتن ۾ مرد کي اِهو حق

آهي جو ڪنهن عورت جي اندر جيڪڏهن هو سرڪشي ڏسي تہ ان جي اصلاح جي ڪوشش ڪري. اِها اصلاح اول سمجهائڻ کان شروع ٿيندي. پوءِ دٻاءُ وجهڻ لاءِ ڳالهائڻ بند ۽ تعلق ترڪ ڪري سگهجي ٿو. آخري درجي ۾ مرد هن کي هلڪي سزا ڏئي سگهي ٿو، جيئن ڏنڊڻ سان مارڻ.

ٻن ماڻهن ۾ جڏهن باهمي اختلاف هجي تہ ٻنهي جو ذهن هڪٻئي جي باري ۾ متعصب ذهن بڻجي ويندو آهي. ٻئي هڪٻئي جي باري ۾ صحيح انداز ۾ سوچي نہ سگهندا آهن. اهڙي حالت ۾ معاملي کي طي ڪرڻ جي بهترين صورت اِها آهي تہ ٻئي پاڻ کان سوا ٻئي کي منصف بڻائڻ لاءِ راضي ٿي وڃن. ٻيو شخص معاملي ۾ ذاتي طور تي وابستہ نہ هجڻ جي ڪري غير متعصب ذهن سان سوچيندو ۽ اهڙي فيصلي تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو جيڪو حقيقت مطابق هوندو.

وَ اعۡبُدُوا اللّٰهَ وَ لَا تُشۡرِكُوۡا بِهٖ شَيۡـًٔا وَّ بِالۡوَالِدَيۡنِ اِحۡسَانًا وَّ بِذِی الۡقُرۡبٰی وَ الۡيَتٰمٰی وَ الۡمَسٰكِيۡنِ وَ الۡجَارِ ذِی الۡقُرۡبٰی وَ الۡجَارِ الۡجُنُبِ وَ الصَّاحِبِ بِالۡجَنۡۢبِ وَ ابۡنِ السَّبِيۡلِ ۙ وَ مَا مَلَكَتۡ اَيۡمَانُكُمۡ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ مَنۡ كَانَ مُخۡتَالًا فَخُوۡرَا ۙ﴿۳۶﴾ اۨلَّذِيۡنَ يَبۡخَلُوۡنَ وَ يَاۡمُرُوۡنَ النَّاسَ بِالۡبُخۡلِ وَ يَكۡتُمُوۡنَ مَاۤ اٰتٰهُمُ اللّٰهُ مِنۡ فَضۡلِهٖ ؕ وَ اَعۡتَدۡنَا لِلۡكٰفِرِيۡنَ عَذَابًا مُّهِيۡنًا ﴿ۚ۳۷﴾ وَ الَّذِيۡنَ يُنۡفِقُوۡنَ اَمۡوَالَهُمۡ رِئَآءَ النَّاسِ وَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِاللّٰهِ وَ لَا بِالۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ ؕ وَ مَنۡ يَّكُنِ الشَّيۡطٰنُ لَهٗ قَرِيۡنًا فَسَآءَ قَرِيۡنًا ﴿۳۸﴾ وَ مَا ذَا عَلَيۡهِمۡ لَوۡ اٰمَنُوۡا بِاللّٰهِ وَ الۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ وَ اَنۡفَقُوۡا مِمَّا رَزَقَهُمُ اللّٰهُ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ بِهِمۡ عَلِيۡمًا ﴿۳۹﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَظۡلِمُ مِثۡقَالَ ذَرَّةٍ ۚ وَ اِنۡ تَكُ حَسَنَةً يُّضٰعِفۡهَا وَ يُؤۡتِ مِنۡ لَّدُنۡهُ اَجۡرًا عَظِيۡمًا ﴿۴۰﴾

۽ الله جي عبادت ڪريو ۽ ڪنهن شيءِ کي ان جو شريڪ نہ بڻايو. ۽ سٺو سلوڪ ڪريو ماءُ پيءُ سان ۽ مٽن مائٽن سان ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ پاڙيسرين مائٽن، ڌارين پاڙيسري، پر ۾ رهندڙ ۽ مسافر سان ۽ جيڪي اوهان جي قبضي ۾ آهن (غلامن) سان. بيشڪ الله پسند نہ ٿو ڪري هنيلن ۽ پاڻ پڏائيندڙن کي جيڪي بخل ڪن ٿا ۽ ٻين کي بہ بخل سيڪاريندا آهن ۽ جيڪو ڪجھ انهن کي الله پنهنجي فضل سان ڏنو آهي اُن کي لڪائيندا آهن. ۽ اسان منڪرن جي لاءِ ذلت جو عذاب تيار ڪري رکيو آهي. ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجو مال ماڻهوءَ کي ڏيکارڻ لاءِ خرچ ڪندا آهن ۽ الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان نٿا رکن ۽ جنهن جو ساٿي شيطان بڻجي وڃي تہ اهو وڏو برو سنگتي آهي. انهن جو ڪهڙو نقصان ٿئي ها، جيڪڏهن هو الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آڻين ها ۽ الله جيڪو ڪجھ کين ڏنو آهي اُن مان خرچ ڪن ها. ۽ الله انهن کان چڱي طرح باخبر آهي. بيشڪ الله ذرو بہ ڪنهن جي حق تلفي نہ ڪندو. جيڪڏهن نيڪي هوندي تہ هو اُن کي ٻيڻو وڌائي ڇڏيندو آهي ۽ پنهنجي طرفان تمام وڏو اجر ڏيندو آهي. ٣٦-٤٠

---

انسان وٽ جيڪو ڪجھ آهي سڀ خدا جو ڏنل آهي. اُن جي تقاضا آهي تہ انسان پنهنجي پاڻ کي الله جي حوالي ڪري ڇڏي، هو اُن جي عبادت ڪندڙ ٻانهو بڻجي وڃي. جڏهن ماڻهو اهڙي طرح الله وارو بڻجي ٿو تہ اُن جي اندر فطري طور تي عاجزي وارو مزاج پيدا ٿي ويندو آهي. اُن جو اِهو مزاج انهن

انسانن سان تعلق ۾ ظاهر ٿيندو آهي جن جي وچ ۾ هو زندگي گذاري رهيو هجي. اُن جو اِهو مزاج ماءُ پيءُ جي معاملي ۾ حسن سلوڪ جي صورت اختيار ڪري وني ٿو. هر اهو شخص جنهن جو اُن سان واسطو پوي ٿو، تنهن کي هو اهڙو انسان لڳندو آهي جنهن جي مٿان ڄڻ ته خدا نگران آهي. هو هر هڪ جو حق اُن جي تعلق مطابق ۽ سندس حاجت مطابق ادا ڪرڻ وارو بڻجي ويندو آهي. ڪو به شخص ڪنهن به حيثيت ۾ اُن سان رابطي ۾ اچي ٿو ته اُن کي نظر انداز ڪرڻ اُن کي ائين لڳندو آهي ڄڻ ته هو پاڻ کي الله وٽ نظرانداز ڪيو وڃڻ جو خطرو ڪٽي رهيو آهي.

جيڪو شخص پنهنجي پاڻ کي الله جي حوالي نه ڪري اُن ۾ فخر جي نفسيات پيدا ٿيندي آهي. اُن وٽ جيڪو ڪجھ آهي اُن کي هو پنهنجي محنت ۽ قابليت جو نتيجو سمجهي ٿو. اُن جو نتيجو اِهو ٿيندو آهي ته هو پنهنجي ڪمائي کي رڳو پنهنجو حق سمجهندو آهي. ڪمزور مائٽن يا محتاجن سان تعلق جوڙڻ اُن کي حقير محسوس ٿيندو آهي. هو پنهنجن مصلحتن ۽ خواهشن جي تسڪين لاءِ خوب مال خرچ ڪندو آهي، پر اُتي خرچ ڪرڻ تي سندس دل تنگ ٿيندي آهي، جتي ان جي انا کي تسڪين ڏيڻ وارو نه هجي. نمائش جي موقعن تي خرچ ڪرڻ ۾ هو فياض هوندو آهي ۽ خاموش ديني موقعن تي خرچ ڪرڻ ۾ بخيل. جيڪي ماڻهو الله جي نعمتن مان نوڙت جي بجاءِ فخر جي غذا وٺن جيڪي الله جي ڏنل مال کي الله جي ٻڌايل جاين تي خرچ نه ڪن، البته پنهنجي نفس جي گهُرجن تي خرچ ڪرڻ ۾ فياض هجن، اهڙا ماڻهو شيطان جا ساٿي آهن. شيطان انهن کي ڪجھ فائدا ڏيکاريا ته هو اُن جي پويان ڊوڙي پيا ۽ خدا جنهن ابدي فائدي جو وعدو ڪري رهيو هو، اُن سان انهن کي ڪا به دلچسپي نه ٿي سگهي. انهن لاءِ خدا وٽ سخت عذاب ڪان سواءِ ٻيو ڪجھ به نه آهي. ماڻهو جيڪو ڪم نه ڪري اُن کي هو غير اهم سمجهي ٿو. اِهو پنهنجي معاملي کي نظرياتي معاملو بڻائڻ آهي. اها پاڻ کي حق تي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش آهي. پر اهڙي قسم جي ڪا به ڪوشش الله وٽ ڪنهن جي به ڪم اچڻ واري نه آهي.

وقف النبي
فَكَيْفَ اِذَا جِئْنَا مِنْ كُلِّ اُمَّةٍۭ بِشَهِيْدٍ وَّ جِئْنَا بِكَ عَلٰى هٰٓؤُلَآءِ شَهِيْدًا ﴿٤١﴾ يَوْمَئِذٍ يَّوَدُّ
ع الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ عَصَوُا الرَّسُوْلَ لَوْ تُسَوّٰى بِهِمُ الْاَرْضُ ؕ وَ لَا يَكْتُمُوْنَ اللّٰهَ حَدِيْثًا ﴿٤٢﴾
يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقْرَبُوا الصَّلٰوةَ وَ اَنْتُمْ سُكٰرٰى حَتّٰى تَعْلَمُوْا مَا تَقُوْلُوْنَ وَ لَا
جُنُبًا اِلَّا عَابِرِيْ سَبِيْلٍ حَتّٰى تَغْتَسِلُوْا ؕ وَ اِنْ كُنْتُمْ مَّرْضٰۤى اَوْ عَلٰى سَفَرٍ اَوْ جَآءَ اَحَدٌ
مِّنْكُمْ مِّنَ الْغَآئِطِ اَوْ لٰمَسْتُمُ النِّسَآءَ فَلَمْ تَجِدُوْا مَآءً فَتَيَمَّمُوْا صَعِيْدًا طَيِّبًا
فَامْسَحُوْا بِوُجُوْهِكُمْ وَ اَيْدِيْكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَفُوًّا غَفُوْرًا ﴿٤٣﴾

پوءِ ان وقت ڪهڙو حال هوندو جڏهن اسان هر امت مان هڪ شاهد آڻينداسين ۽ توکي انهن ماڻهن جي مٿان شاهد ڪري بيهارينداسين، اُهي ماڻهو جن انڪار ڪيو ۽ پيغمبر جي نافرماني ڪئي اُن ڏينهن تمنا ڪندا ته ڪاش زمين انهن تي برابر ڪئي وڃي، ۽ هو الله کان ڪا به ڳالھ لڪائي نه سگهندا. اي ايمان وارؤ! نماز جي ويجهو نه وڃو جنهن وقت توهان نشي ۾ هجو، جيسين توهان سمجهڻ نه لڳو جيڪو توهان چئو (پڙهو) ۽ نه اُن

وقت جڏهن غسل جي حاجت هجي سواءِ سفر ۾ هجڻ جي، جيستائين غسل ڪري وٺو ۽ جيڪڏهن توهان بيمار آهيو يا سفر ۾ آهيو يا توهان مان ڪو حاجت ضروري ڪان موٽيو آهي يا توهان عورتن وٽ ويا آهيو، پوءِ توهان کي پاڻي نہ ملي تہ توهان پاڪ مٽيءَ سان تيمم ڪريو ۽ پنهنجي منهن ۽ هٿن جو مسح ڪريو، بيشڪ الله معاف ڪرڻ وارو بخشڻ وارو آهي. ٤١-٤٣

---

حق جو داعي جڏهن اچي ٿو تہ هو هڪ معمولي انسان جي صورت ۾ هوندو آهي. اُن جي چؤطرف ظاهري وڏائيون ۽ رونقون نہ هونديون آهن. اُن ڪري وقت جا وڏا اُن کي حقير سمجهي نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهن. انهن کي يقين نہ ٿو اچي تہ هڪ اهڙو شخص انهن کان وڌيڪ حق ۽ صداقت وارو ٿي سگهي ٿو، جيڪو دنياوي شان ۽ شوڪت ۾ انهن کان گهٽ هجي. پر جڏهن قيامت ايندي ۽ خدا جي عدالت قائم ٿيندي تہ هو حيرت مان ڏسندا تہ اُهوئي شخص جنهن کي انهن معمولي سمجهي ڪري ٺڪرائي ڇڏيو هو، اهو آخرت جي عدالت ۾ خدا جو گواهہ بڻايو ويو آهي. اُهوئي اهو شخص آهي. جنهن جي بيان تي ماڻهن جي لاءِ جنت ۽ جهنم جا فيصلا ٿيندا. اِهي اُتي مجرمن واري مقام تي بيٺا هوندا ۽ هو اُتي خدا جي طرفان ڳالهائڻ واري مقام تي. اِهو اهڙو سخت ۽ هيبتناڪ لمحو هوندو جو ماڻهو چاهيندا تہ زمين ڦاٽي پوي ۽ هو اُن جي اندر سمائجي وڃن. پر انهن جي اِها شرمندگي انهن جي ڪم نہ ايندي. خدا وٽ انهن جي قول، عمل ۽ سوچ جو رڪارڊ موجود هوندو ۽ خدا انهن کي ڏيکاريندو تہ انهن حق جي داعيءَ جو انڪار ناواقفيت جي ڪري نہ بلڪ تڪبر جي ڪري ڪيو هو. انهن پاڻ کي وڏو سمجهيو ۽ حق جي داعي کي معمولي سمجهيو. حقيقت کي اُن جي اصل صورت ۾ ڏسڻ ۽ ڄاڻڻ جي باوجود هو محض اُن ڪري اُن جا منڪر ٿي ويا جو اُن کي مڃڻ ۾ انهن جي وڏائي ختم ٿيندي نظر پئي آئي.

شريعت ۾ غير معمولي حالتن ۾ غير معمولي اجازت ڏني وئي آهي. بيماري يا سفر يا پاڻي جو نہ هجڻ، اِهي ٿيئي ماڻهوءَ جي لاءِ غير معمولي حالتون آهن. ان ڪري انهن موقعن تي اِها اجازت ڏني وئي آهي تہ جيڪڏهن نقصان جو انديشو هجي تہ وضو يا غسل جي بجاءِ تيمم جو طريقو اختيار ڪيو وڃي. عام وضو پاڻي سان ٿيندو آهي. تيمم ڄڻ تہ مٽيءَ سان وضو ڪرڻ آهي. وضوءَ جو مقصد ماڻهن ۾ پاڪائي جي نفسيات کي پيدا ڪرڻ آهي ۽ تيمم وضو نہ ڪري سگهڻ جي صورت ۾ ان پاڪائي جي نفسيات کي باقي رکڻ جي هڪ مادي تدبير آهي.

نماز اُن وقت پڙهو جڏهن توهان ڄاڻو تہ توهان ڇا چئي رهيا آهيو. هتي اِها آيت شراب جو ابتدائي حڪم ٻڌائڻ جي لاءِ آئي آهي، پر اُن سان گڏ اها نماز جي باري ۾ هڪ اهم حقيقت بہ ٻُڌائي رهي آهي. اُن مان معلوم ٿئي ٿو تہ نماز هڪ اهڙي عبادت آهي، جيڪا فهم ۽ شعور سان ادا ڪئي ويندي آهي. نماز فقط اُن جو نالو نہ آهي تہ ڪجهہ لفظن ۽ جسم جي حرڪت کي صحيح طريقي سان دُهرائي ڇڏجي. اُن سان گڏ نماز ۾ ماڻهوءَ جي ذهن جو حاضر رهڻ بہ ضروري آهي. هو نماز کي ڄاڻي نماز پڙهي. پنهنجي زبان ۽ پنهنجي جسم سان هو جنهن خدا جي سامهون جهڪڻ جو اظهار ڪري رهيو آهي، اُن ئي خدا جي سامهون اُن جي سوچ ۽ اُن جو ارادو بہ جهڪي ويو هجي. اُن جو جسم جنهن خدا جي عبادت ڪري رهيو آهي، اُن جو شعور بہ اُن ئي خدا جو عبادت گذار بڻجي وڃي.

اَلَمۡ تَرَ اِلَى الَّذِيۡنَ اُوۡتُوۡا نَصِيۡبًا مِّنَ الۡكِتٰبِ يَشۡتَرُوۡنَ الضَّلٰلَةَ وَ يُرِيۡدُوۡنَ اَنۡ تَضِلُّوا
السَّبِيۡلَ ﴿٤٤﴾ وَ اللّٰهُ اَعۡلَمُ بِاَعۡدَآئِكُمۡ ؕ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ وَلِيًّا ٝ وَّ كَفٰى بِاللّٰهِ نَصِيۡرًا ﴿٤٥﴾ مِنَ
الَّذِيۡنَ هَادُوۡا يُحَرِّفُوۡنَ الۡكَلِمَ عَنۡ مَّوَاضِعِهٖ وَ يَقُوۡلُوۡنَ سَمِعۡنَا وَ عَصَيۡنَا وَ اسۡمَعۡ غَيۡرَ
مُسۡمَعٍ وَّ رَاعِنَا لَيًّۢا بِاَلۡسِنَتِهِمۡ وَ طَعۡنًا فِى الدِّيۡنِ ؕ وَ لَوۡ اَنَّهُمۡ قَالُوۡا سَمِعۡنَا وَ اَطَعۡنَا وَ
اسۡمَعۡ وَ انۡظُرۡنَا لَكَانَ خَيۡرًا لَّهُمۡ وَ اَقۡوَمَ ۙ وَ لٰـكِنۡ لَّعَنَهُمُ اللّٰهُ بِكُفۡرِهِمۡ فَلَا يُؤۡمِنُوۡنَ
اِلَّا قَلِيۡلًا ﴿٤٦﴾

ڇا تو انهن ماڻهن کي نه ڏٺو جن کي ڪتاب مان حصو مليو هو. اهي گمراهيءَ کي خريد ڪري رهيا آهن ۽ چاهين ٿا ته توهان به راهه تان ڀٽڪي وڃو. الله توهان جي دشمنن کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو. ۽ الله ڪافي آهي حمايت جي لاءِ ۽ الله ڪافي آهي مدد جي لاءِ. يهودين مان هڪ جماعت ڳالهه کي پنهنجي جاءِ تان ڦيرائي ٿي ڇڏي ۽ چوندا آهن ته اسان ٻڌو ۽ نه مڃيو. ۽ چوندا آهن ته ٻڌو نه ٻڌڻ جهڙو. هو پنهنجي زبان کي مروڙي سروڙي چوندا آهن راعِنا، دين ۾ عيب لڳائڻ جي لاءِ ۽ جيڪڏهن هو چون ها ته اسان ٻڌو ۽ مڃيو، ۽ ٻڌو ۽ اسان ڏانهن نگاهه ڪريو ته اِهو اُنهن جي حق ۾ وڌيڪ بهتر ۽ درست هجي ها. پر الله انهن جي انڪار سبب انهن تي لعنت ڪري ڇڏي. تنهنڪري هو ايمان نه آڻيندا سواءِ ڪن ٿورن جي. ٤٤-٤٦

---

الله جو ڪتاب ڪنهن جماعت کي اُن ڪري ڏنو ويندو آهي ته هو اُن سان پنهنجي سوچ ۽ پنهنجي عمل کي درست ڪري. پر جڏهن آسماني ڪتاب واري ڪا قوم زوال جو شڪار ٿيندي آهي، جيئن يهودي ٿيا ته خدا جي ڪتاب مان هو هدايت جي بدران گمراهي جي غذا وٺڻ لڳندا آهن. خدا جا حڪم انهن جي لاءِ خشڪ بحثن جو موضوع بڻجي ويندا آهن. هاڻي انهن وٽ عقيدن جي نالي تي فلسفياڻي طريقي سان عيب ڪڍڻ وارا بحث جنم وٺندا آهن. اهو انهن جي لاءِ اهڙين سرگرمين جي تعليم ڏيڻ وارو ڪتاب بڻجي ويندو آهي، جنهن جو آخرت جي مسئلي سان ڪو به تعلق نه هجي. اهڙا ماڻهو پنهنجي روايتي نفسيات جي ڪري ضروري سمجهندا آهن ته هو پنهنجي هر ڳالهه کي خدا جي ڳالهه ثابت ڪن. هو پنهنجي عمل جو ديني جواز فراهم ڪرڻ لاءِ خدا جي ڪتاب کي بدلائي ڇڏيندا آهن. خدا جي ڪلمن کي اُنهن جي اصل جاءِ تان هٽائي ڪري هو اُن جي هٽ ٺوڪيل تشريح ڪندا آهن. هو لفظن ۾ ڦيرڦار ڪري اُن مان اهڙو مفهوم ڪڍندا آهن، جنهن جو اصل خدائي تعليم سان ڪو به تعلق نه هوندو آهي.

”يهودين کي ڪتاب جو ڪجهه حصو مليو هو“ اُن جو مطلب اِهو آهي ته انهن کي خدا جي ڪتاب جا لفظ ته پڙهڻ جي لاءِ مليا، پر خدا جي ڪتاب تي عمل ڪرڻ جو جيڪو اصل مقصد هو، اُن کان اُهي پري رهيا. لفظن جي معاملي ۾ هو حامل ڪتاب هئا، پر عمل جي معاملي ۾ انهن عام دنيادار قومن جو رستو اختيار ڪري ورتو. جيئن ته عام ماڻهو دنياداريءَ کي دنياداريءَ جي نالي تي ڪندا آهن، پر انهن جي بيحيائي اِها هئي ته پنهنجي دنياداري لاءِ خدا جي ڪتاب مان دليل پيش ڪرڻ لڳا.

پوءِ اُنهن جي گمراهي سندن ذات تائين نه بيني. هو پاڻ کي خدا جي دين جو نمائندو سمجهندا هئا. اُن ڪري جڏهن غير يهودي عربن پيغمبر آخر الزمانﷺ جو ساٿ ڏيڻ شروع ڪيو ته يهودين

پنهنجي دينداري جو ڀرم قائم رکڻ جي لاءِ پاڻ پيغمبرﷺ جا مخالف ٿي ويا. انهن پاڻ سڳورن جي زندگي ۽ پاڻ سڳورن جي تعليم ۾ طرح طرح جا شوشا ڪڍي ماڻهن کي شڪ ۾ مبتلا ڪرڻ شروع ڪيو ته هي خدا جا موڪليل نه آهن. بلڪ رڳو ذاتي حوصلي تحت خدا جي دين جا علمبردار بڻجي ويهي رهيا آهن. پر هن معرڪي ۾ الله غير جانبدار نه آهي. هو پنهنجي دشمنن جي مقابلي ۾ پنهنجن وفادارن جو ساٿ ڏيندو ۽ انهن کي ڪامياب ڪري رهندو.

”لعنت“ دراصل بي حسي جي آخري صورت آهي. ماڻهوءَ جي بي حسي جڏهن اُن نوبت تائين پهچي وڃي جو اُن کي حق ۽ ناحق جي ڪابه تميز نه رهي ته اُن کي ٿي لعنت چئبو آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡكِتٰبَ اٰمِنُوۡا بِمَا نَزَّلۡنَا مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَكُمۡ مِّنۡ قَبۡلِ اَنۡ نَّطۡمِسَ وُجُوۡهًا فَنَرُدَّهَا عَلٰۤى اَدۡبَارِهَاۤ اَوۡ نَلۡعَنَهُمۡ كَمَا لَعَنَّاۤ اَصۡحٰبَ السَّبۡتِ‌ؕ وَكَانَ اَمۡرُ اللّٰهِ مَفۡعُوۡلًا ﴿۴۷﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغۡفِرُ اَنۡ يُّشۡرَكَ بِهٖ وَيَغۡفِرُ مَا دُوۡنَ ذٰ لِكَ لِمَنۡ يَّشَآءُ‌ ۚ وَمَنۡ يُّشۡرِكۡ بِاللّٰهِ فَقَدِ افۡتَـرٰۤى اِثۡمًا عَظِيۡمًا‏ ﴿۴۸﴾ اَلَمۡ تَرَ اِلَى الَّذِيۡنَ يُزَكُّوۡنَ اَنۡفُسَهُمۡ‌ ؕ بَلِ اللّٰهُ يُزَكِّىۡ مَنۡ يَّشَآءُ وَلَا يُظۡلَمُوۡنَ فَتِيۡلًا‏ ﴿۴۹﴾ اُنْظُرۡ كَيۡفَ يَفۡتَرُوۡنَ عَلَى اللّٰهِ الۡكَذِبَ‌ؕ وَكَفٰى بِهٖۤ اِثۡمًا مُّبِيۡنًا ﴿۵۰﴾ ع ۷

اي ڪتاب وارؤ! اُن تي ايمان آڻيو جيڪو اسان نازل ڪيو آهي، تصديق ڪرڻ وارو آهي اُن ڪتاب جي جيڪو توهان وٽ آهي، اُن ڪان اڳ جو اسان شڪلين کي مٽائي ڇڏيون. پوءِ اُن کي ڦيرائي پٺي ڏانهن ڪريون يا انهن تي لعنت ڪريون، جيئن اسان لعنت ڪئي سبت (ڇنڇر) وارن تي. ۽ الله جو حڪم پورو ٿي رهندو آهي. بيشڪ الله اُهو ڪڏهن به معاف نه ڪندو ته ان سان شريڪ ڪيو وڃي. پر اُن ڪان سواءِ جيڪو ڪجھ آهي اُن کي جنهن جي لاءِ چاهيندو بخشي ڇڏيندو. ۽ جنهن الله سان ڪنهن کي شريڪ ڪيو هن وڏي گناھ جو بهتان ٻَڌو. ڇا تو ڏٺو انهن کي جيڪي پاڻ کي پاڪباز چوندا آهن. بلڪ الله ئي پاڪ ڪندو آهي جنهن کي چاهيندو آهي، ۽ اُنهن تي ذري برابر به ظلم نه ٿيندو. ڏسو اِهي الله تي ڪهڙو ڪوڙ گهڙين ٿا. ۽ ٻڌرو گناھ هئڻ جي لاءِ اِهوئي ڪافي آهي. ٤٧-٥٠

---

ڪڏهن ائين ٿيندو آهي ته ماڻهو هڪ ڳالھ کي ٻڌندو آهي، پر حقيقت ۾ نه ٻڌندو آهي. اِهو اُن وقت ٿيندو آهي جڏهن ماڻهو اُن ڳالھ کي سمجهڻ جي معاملي ۾ سنجيده نه هجي ۽ اُن تي عمل ڪرڻ ۾ اُن کي ڪا به دلچسپي نه هجي. اِهو مزاج جڏهن پنهنجي آخري درجي ۾ پهچندو آهي ته ماڻهوءَ جي ناسمجهي جو حال اِهڙو ٿي ويندو آهي ڄڻ هُن جي چهري جا نشان مٽايا ويا هجن ۽ هاڻي هو شين کي اهڙي طرح ڏسي ۽ ٻڌي رهيو هجي جيئن ڪو شخص سندس سر جي پوئين پاسي ڪان شين کي ڏسي ۽ ٻڌي جتان نه ڏسڻ جي لاءِ اک آهي ۽ نه ٻڌڻ جي لاءِ ڪن. حق ڳالھ کي سمجهڻ جي لاءِ ماڻهوءَ جو اهڙي طرح انڌو ۽ ٻوڙو ٿي وڃڻ اُن ڳالھ جي نشاني آهي ته حق سان مسلسل بي پرواهي جي ڪري خدا اُن کي پنهنجي توفيق ڪان محروم ڪري ڇڏيو آهي. خدا هن کي ڪن ڏنا پر هن نه ٻڌو، خدا هن کي اک ڏني پر

هن نه ڏنو ته هاڻي خدا به هن کي اهڙو ئي بڻائي ڇڏيو جهڙو هو پاڻ کي ثاهي وينو هو. ٻي حسي جڏهن پنهنجي آخري درجي تائين پهچندي آهي ته اُها ”مسخ“ يعني هڪ صورت مان ٻئي صورت ۾ بدلجڻ ۽ ٻي صورت جو اول صورت کان بدتر هجڻ جو ڪارڻ بڻجي ويندي آهي.

يهودين جو اِهو خيال هو ته اسان پيغمبرن جي نسل مان آهيون، اُن ڪري اسان جي جماعت مقدس آهي. انهن ٻي شمار روايتون ۽ ڪهاڻيون گهڙي رکيون هيون جيڪي اُنهن جي نسل جي وڏائي ۽ جماعت جي فضيلت جي تصديق ڪنديون هيون. هو انهن خوش فهمين ۾ زندگي گذاري رهيا هئا. انهن پاڻ اِهو عقيدو ٺاهي ورتو هو ته هر اُهو شخص جيڪو يهودي آهي اُن جي نجات يقيني آهي. ڪو به يهودي ڪڏهن به جهنم جي باهه ۾ نه وڌو ويندو.

”هو پاڻ کي ڏاڍو پاڪباز سمجهن ٿا، بلڪ جنهن کي الله گهري ٿو تنهن کي پاڪ ڪري ٿو“.

اِهو جملو اُن خيال جي ترديد آهي. مطلب اِهو آهي ته ڪنهن نسل يا جماعت سان لاڳاپي جي ڪري ڪنهن کي فضيلت يا شرف نه ٿو ملي وڃي. بلڪ اُن جو تعلق خدا جي عدل واري قانون سان آهي. جيڪو شخص خدائي قانون جي مطابق پاڻ کي شرف جو مستحق ثابت ڪندو، اُهو عزت وارو آهي ۽ جيڪو شخص پنهنجي عمل سان پاڻ کي مستحق ثابت نه ڪري سگهي، اُهو رڳو ڪنهن جماعت سان لاڳاپي جي ڪري عزت جو مالڪ نه ٿو بڻجي سگهي.

گروهي نجات جو عقيدو چاهي يهودي قائم ڪن يا ٻيو ڪو، اِهڙو عقيدو سراسر باطل آهي. جيڪي ماڻهو اهڙو عقيدو ٺاهين ٿا، اُهي اُن کي خدا ڏانهن منسوب ڪندا آهن. پر اهو خدا تي ڪوڙ هڻڻ آهي. ڇاڪاڻ ته خدا ڪڏهن به اهڙي تعليم نه ڏني آهي. خدا جيڪڏهن هڪ انسان ۽ ٻي انسان ۾ گروهي تعلق جي ڪري فرق ڪرڻ لڳي ته اِهو ظلم ٿيندو ۽ خدا سراسر عدل آهي، هو ڪڏهن به ڪنهن سان ظلم ڪرڻ وارو نه آهي.

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ اُوْتُوْا نَصِيْبًا مِّنَ الْكِتٰبِ يُؤْمِنُوْنَ بِالْجِبْتِ وَ الطَّاغُوْتِ وَ يَقُوْلُوْنَ
لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا هٰٓؤُلَآءِ اَهْدٰى مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا سَبِيْلًا ﴿٥١﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ ؕ وَ
مَنْ يَّلْعَنِ اللّٰهُ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ نَصِيْرًا ﴿٥٢﴾ؕ اَمْ لَهُمْ نَصِيْبٌ مِّنَ الْمُلْكِ فَاِذًا لَّا يُؤْتُوْنَ النَّاسَ
نَقِيْرًا ﴿٥٣﴾ۙ اَمْ يَحْسُدُوْنَ النَّاسَ عَلٰى مَآ اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ۚ فَقَدْ اٰتَيْنَآ اٰلَ اِبْرٰهِيْمَ
الْكِتٰبَ وَ الْحِكْمَةَ وَ اٰتَيْنٰهُمْ مُّلْكًا عَظِيْمًا ﴿٥٤﴾ فَمِنْهُمْ مَّنْ اٰمَنَ بِهٖ وَ مِنْهُمْ مَّنْ صَدَّ
عَنْهُ ؕ وَ كَفٰى بِجَهَنَّمَ سَعِيْرًا ﴿٥٥﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا سَوْفَ نُصْلِيْهِمْ نَارًا ؕ كُلَّمَا
نَضِجَتْ جُلُوْدُهُمْ بَدَّلْنٰهُمْ جُلُوْدًا غَيْرَهَا لِيَذُوْقُوا الْعَذَابَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَزِيْزًا
حَكِيْمًا ﴿٥٦﴾ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ سَنُدْخِلُهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا
الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ لَهُمْ فِيْهَآ اَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ ۫ وَّ نُدْخِلُهُمْ ظِلًّا ظَلِيْلًا ﴿٥٧﴾

ڇا توهان انهن ماڻهن کي نہ ڏٺو جن کي ڪتاب مان ڪجھ حصو مليو هو. هو جبت ۽ طاغوت کي مڃيندا آهن ۽ ڪافرن جي لاءِ چوندا آهن تہ هو مسلمانن کان وڌيڪ صحيح رستي تي آهن. اِهي ئي ماڻهون آهن جن تي الله لعنت ڪئي آهي ۽ الله جنهن تي لعنت ڪري ٿو اُن جو ڪو مددگار نہ لهندين. ڇا خدا جي بادشاهت ۾ ڪجھ انهن جو بہ دخل آهي. پوءِ تہ هي ماڻهن کي هڪ تِر جي برابر بہ نہ ڏين. ڇا اِهي ماڻهن سان حسد ڪري رهيا آهن، ان ڪري جو الله انهن کي پنهنجي فضل سان نوازيو آهي. پوءِ اسان آل ابراهيم کي ڪتاب ۽ حڪمت ڏني آهي ۽ اسان کين وڏي بادشاهي پڻ ڏني. انهن مان ڪنهن اُن کي مڃيو ۽ ڪنهن ان کان منهن موڙيو ۽ اهڙن جي لاءِ جهنم جي ڀڙڪندڙ باهہ ئي ڪافي آهي. بيشڪ جن ماڻهن اسان جي نشانين جو انڪار ڪيو انهن کي اسان سخت باهہ ۾ داخل ڪنداسون. جڏهن اُنهن جي جسم جي چمڙي سڙي ويندي تہ اسان اُنهن جي چمڙي کي ٻي چمڙي سان بدلائينداسون، تہ جيئن هو عذاب چکندا رهن. بيشڪ الله زبردست آهي حڪمت وارو آهي. ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نيڪ ڪم ڪيا انهن کي اسان باغن ۾ داخل ڪنداسين جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون، اُن ۾ هو هميشہ رهندا، اُتي انهن جي لاءِ پاڪ زالون هونديون ۽ انهن کي اسان گهاٽي ڇانون ۾ رکنداسون. ٥١-٥٧

---

آسماني ڪتاب واري ڪنهن قوم تي جڏهن زوال ايندو آهي تہ هو عمل جي بجاءِ خوشفهمي وارن عقيدن ۾ جيئڻ لڳندي آهي. اُن جو نتيجو اِهو نڪرندو آهي جو اُن ۾ توهم پرستي پکڙجي ٿي. جيڪا شيءِ حقيقي عمل جي ذريعي ملندي آهي، اُن کي هو عمليات ۽ فرضي عقيدن ۽ شيطاني عملن جي رستي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. اهڙا ماڻهو دين جي معاملي کي ”پاڪ ڪلمن“ ۽ بابرڪت لاڳاپن جو معاملو سمجهن ٿا ۽ سمجهن ٿا تہ رڳو ورد وظيفن ۽ رسمي تعلق سان معجزاتي واقعا ظاهر ٿيندا آهن.

ان سان گڏ انهن جو اِهو حال هوندو آهي تہ هو زبان سان دين جو نالو وٺندي پنهنجي عملي زندگيءَ کي شيطان جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهن. هو حقيقي زندگي ۾ نفس جي خواهشن ۽ شيطان جي ترغيب تي هلي پوندا آهن، پر اُن سان گڏ پنهنجي مٿان دين جو ٺپو لڳائي سمجهن ٿا تہ جيڪو ڪجھ هو ڪن اُهوئي خدا جو دين آهي. اهڙي حالت ۾ جڏهن انهن جي وچ ۾ خالص حق جي دعوت شروع ٿيندي آهي تہ هو سيني کان وڌيڪ اُن جا مخالف ٿي ويندا آهن. ڇاڪاڻ تہ انهن کي محسوس ٿيندو آهي تہ اها انهن جي ديني حيثيت جو انڪار ڪري رهي آهي. ڪافرن جو وجود انهن جي لاءِ اهڙي قسم جو چيلنج نہ هوندو آهي. اُن ڪري ڪافرن جي معاملي ۾ هو نرم هوندا آهن، پر حق جي داعيءَ جي لاءِ انهن جي دلين ۾ ڪا بہ نرمي نہ هوندي آهي. انهن جي اندر اِها حسد جي باهہ ڀڙڪندي آهي تہ جڏهن دين جا ٺيڪيدار اسان آهيون، تہ ٻئي ڪنهن شخص کي دين جي نمائندگي جو درجو ڪيئن ملي ويو. اهي وساري ٿا ڇڏين تہ خدا ماڻهو جي قلبي قابليت جي بنياد تي ڪنهن کي پنهنجي دين جو نمائندو چونڊيندو آهي نہ وري نمائشي شين جي بنياد تي.

لعنت اِها آهي تہ ماڻهو الله جي رحمتن ۽ نصرتن کان بلڪل پري ڪيو وڃي. ڪائڻ ۽ پيئڻ بند ٿيڻ سان جيئن ماڻهو جي مادي زندگي ختم ٿي ويندي آهي، اهڙي طرح خدا جي مدد جي محرومي ڪانپوءِ ماڻهوءَ جي ايماني زندگيءَ جو خاتمو ٿي ويندو آهي. لعنت ٿيل ماڻهو لطيف احساسن جي لحاظ کان هڪ ختم ٿيل انسان بڻجي ٿو وڃي جو اُن جي اندر حق ۽ ناحق جي تميز باقي نٿي رهي. صاف ۽ واضح نشانيون سامهون اچڻ کان پوءِ بہ اُن کي اعتراف جي توفيق نہ ٿيندي آهي. هو اجاين شوشن ۽ حقيقي دليلن جي وچ ۾ فرق نہ ٿو ڪري.

اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُكُمْ اَنْ تُؤَدُّوا الْاَمٰنٰتِ اِلٰۤى اَهْلِهَا ۙ وَ اِذَا حَكَمْتُمْ بَيْنَ النَّاسِ اَنْ تَحْكُمُوْا
بِالْعَدْلِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ نِعِمَّا يَعِظُكُمْ بِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ سَمِيْعًاۢ بَصِيْرًا ﴿٥٨﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا
اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَ اُولِي الْاَمْرِ مِنْكُمْ ۚ فَاِنْ تَنَازَعْتُمْ فِيْ شَيْءٍ فَرُدُّوْهُ
اِلَى اللّٰهِ وَ الرَّسُوْلِ اِنْ كُنْتُمْ تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ ذٰلِكَ خَيْرٌ وَّ اَحْسَنُ
ع ٩ ٥ تَاْوِيْلًا ﴿٥٩﴾ اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ يَزْعُمُوْنَ اَنَّهُمْ اٰمَنُوْا بِمَاۤ اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَ مَاۤ اُنْزِلَ مِنْ
قَبْلِكَ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يَّتَحَاكَمُوْۤا اِلَى الطَّاغُوْتِ وَ قَدْ اُمِرُوْۤا اَنْ يَّكْفُرُوْا بِهٖ ؕ وَ يُرِيْدُ
الشَّيْطٰنُ اَنْ يُّضِلَّهُمْ ضَلٰلًۢا بَعِيْدًا ﴿٦٠﴾ وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا اِلٰى مَاۤ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَ اِلَى
الرَّسُوْلِ رَاَيْتَ الْمُنٰفِقِيْنَ يَصُدُّوْنَ عَنْكَ صُدُوْدًا ﴿٦١﴾ فَكَيْفَ اِذَاۤ اَصَابَتْهُمْ مُّصِيْبَةٌۢ
بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ ثُمَّ جَآءُوْكَ يَحْلِفُوْنَ ۖۗ بِاللّٰهِ اِنْ اَرَدْنَاۤ اِلَّاۤ اِحْسَانًا وَّ تَوْفِيْقًا ﴿٦٢﴾
اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ يَعْلَمُ اللّٰهُ مَا فِيْ قُلُوْبِهِمْ ۗ فَاَعْرِضْ عَنْهُمْ وَ عِظْهُمْ وَ قُلْ لَّهُمْ فِيْۤ
اَنْفُسِهِمْ قَوْلًاۢ بَلِيْغًا ﴿٦٣﴾

الله توهان کي حڪم ڏي ٿو تہ امانتون اُنهن جي حقدارن تائين پهچائي ڇڏيو. ۽ جڏهن ماڻهن جي وچ ۾ فيصلو ڪيو تہ انصاف سان فيصلو ڪريو. الله عمدي نصيحت ڪري ٿو توهان کي. بيشڪ الله ٻڌڻ وارو، ڏسڻ وارو آهي. اي ايمان وارؤ! الله جي اطاعت ڪريو ۽ رسول جي اطاعت ڪريو ۽ پنهنجي حاڪمن جي اطاعت ڪريو. پوءِ جيڪڏهن توهان جي وچ ۾ ڪنهن شيءِ ۾ اختلاف ٿي پوي تہ الله ۽ رسول جي طرف رجوع ڪريو، جيڪڏهن توهان الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکو ٿا. اِها ڳالهہ چڱي آهي ۽ اُن جو انجام بهتر آهي. ڇا تو انهن ماڻهن کي نہ ڏٺو جيڪي دعويٰ ڪندا آهن تہ انهن ايمان آندو آهي اُن تي جيڪو نازل ٿيو آهي تنهنجي طرف ۽ جيڪو نازل ٿيو آهي تو کان اڳ ۾، هو چاهن ٿا تہ پنهنجا فيصلا طاغوت ڏانهن کڻي وڃن، حالانڪ انهن کي حڪم آهي تہ اُن (طاغوت) کي نہ مڃين ۽ شيطان چاهي ٿو تہ انهن کي گمراهہ ڪري تمام گهڻو پري ڪري ڇڏي. ۽ جڏهن انهن کي چيو وڃي ٿو تہ اچو الله جي نازل ڪيل ڪتاب جي طرف ۽ رسول جي طرف تہ تون ڏسندين تہ منافق تو کان پيا ڪنوائيندا. پوءِ اُن وقت ڇا ٿيندو جڏهن اُنهن کي سندن هٿن جي ڪمايل مصيبت انهن جي مٿان اچي پهچندي، اُن وقت اُهي تو وٽ قسم کڻندا ايندا تہ الله جو قسم اسان تہ رڳو ڀلائي ۽ ناهہ جو ارادو ڪيو هو. انهن جي دلين ۾ جيڪو ڪجهہ آهي الله اُن کان چڱي طرح واقف آهي. پوءِ تون انهن کان درگذر ڪر ۽ انهن کي نصيحت ڪر ۽ انهن کي اِهڙي ڳالهہ چؤ جيڪا سندن دلين ۾ لهي وڃي. ٥٨-٦٣

---

هر ذميداري هڪ امانت آهي ۽ ان کي ٺيڪ ٺيڪ ادا ڪرڻ ضروري آهي. اِهڙي طرح جڏهن ڪنهن سان معاملو پوي تہ ماڻهو کي کپي تہ هو اُهو ڪري جيڪو انصاف جو تقاضو هجي، چاهي معاملو دوست سان هجي يا دشمن سان. جيڪڏهن امانتداري ۽ انصاف جو طريقو پنهنجن فائدن ۽ مصلحتن جي خلاف نظر اچي تڏهن بہ هُن کي انصاف ۽ سچائي جي طريقي تي ئي قائم رهڻو آهي. ڇاڪاڻ تہ بهتري اُنهيءَ ۾ آهي جيڪو الله ٻڌائي، نہ وري اُن ۾ جيڪو اسان جي نفس کي پسند هجي.

جيڪڏهن حڪومت جو نظام ٺاهڻ جو موقعو هجي ته مسلمانن کي کپي ته باقاعدي اسلامي حڪومت جو قيام عمل ۾ آڻين ۽ جيڪڏهن حڪومت ٺاهڻ جا موقعا نه هجن ته مسلمان پاڻ مان قابل اعتماد فردن کي پنهنجو سربراهه ٺاهي وٺن ۽ اُنهن جي هدايتن تي ديني زندگي گذارين. جڏهن ڪنهن معاملي ۾ اختلاف هجي ته هر ڏر تي لازم آهي، ته هو اُن ڳالهه کي مڃي جيڪا الله ۽ رسول جي طرفان هجي. هر ماڻهو کي راءِ ۾ اختلاف جي آزادي آهي پر اجتماعي فيصلي کي نه مڃڻ جي آزادي ڪنهن کي به حاصل نه آهي. اجتماعي نظام مسلم سماج جي اجتماعي ضرورت آهي.

مديني جي شروع واري زماني ۾ اختلافي معاملن ۾ فيصلو وٺڻ جي لاءِ هڪ ٻئي وقت ٻه عدالتون موجود هيون. هڪ يهودي سردارن جي جيڪا پهرين کان هلندي پئي آئي. ٻي رسول اللهﷺ جي جيڪا هجرت کان پوءِ قائم ٿي. مسلمانن مان جيڪي ماڻهو پنهنجي مفاد جي قرباني ڏئي ديندار بڻجڻ جي لاءِ تيار نه هئا، اُهي ايئن ڪندا هئا جو جڏهن اُنهن کي انديشو هوندو هو ته اُنهن جو ڪيس ڪمزور آهي ۽ هو خدا جي رسول جي عدالت مان پنهنجي حق ۾ فيصلو نه وٺي سگهندا، تڏهن ڪعب بن اشرف يهودي جي عدالت ۾ هليا ويندا هئا. اِها ڳالهه سراسر ايمان جي خلاف آهي. ماڻهو جيڪڏهن الله جي فيصلي تي راضي نه هجي، بلڪ پنهنجي پسند جو فيصلو وٺڻ چاهي ته ان جي ايمان جي دعويٰ ڪوڙي آهي. چاهي هن وٽ پنهنجي پاڻ کي حق تي ثابت ڪرڻ جي لاءِ ڪيترائي خوبصورت لفظ هجن. جيئن ته اِهڙن ماڻهن سان جهيڙي کان پاسو ڪندي اُنهن کي اثرائتي انداز ۾ نصيحت ڪرڻ جو ڪم پوءِ به جاري رهڻ گهرجي.

وَ مَاۤ اَرْسَلْنَا مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا لِيُطَاعَ بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَ لَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ
فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَ اسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ﴿٦٤﴾ فَلَا وَ رَبِّكَ لَا
يُؤْمِنُوْنَ حَتّٰى يُحَكِّمُوْكَ فِيْمَا شَجَرَ بَيْنَهُمْ ثُمَّ لَا يَجِدُوْا فِيْۤ اَنْفُسِهِمْ حَرَجًا مِّمَّا
قَضَيْتَ وَ يُسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿٦٥﴾ وَ لَوْ اَنَّا كَتَبْنَا عَلَيْهِمْ اَنِ اقْتُلُوْۤا اَنْفُسَكُمْ اَوِ اخْرُجُوْا
مِنْ دِيَارِكُمْ مَّا فَعَلُوْهُ اِلَّا قَلِيْلٌ مِّنْهُمْ ؕ وَ لَوْ اَنَّهُمْ فَعَلُوْا مَا يُوْعَظُوْنَ بِهٖ لَكَانَ خَيْرًا
لَّهُمْ وَ اَشَدَّ تَثْبِيْتًا ﴿٦٦﴾ وَّ اِذًا لَّاٰتَيْنٰهُمْ مِّنْ لَّدُنَّاۤ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٦٧﴾ وَّ لَهَدَيْنٰهُمْ صِرَاطًا
مُّسْتَقِيْمًا ﴿٦٨﴾ وَ مَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَالرَّسُوْلَ فَاُولٰٓئِكَ مَعَ الَّذِيْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنَ
النَّبِيّٖنَ وَ الصِّدِّيْقِيْنَ وَ الشُّهَدَآءِ وَ الصّٰلِحِيْنَ ۚ وَ حَسُنَ اُولٰٓئِكَ رَفِيْقًا ﴿٦٩﴾ ذٰلِكَ
عٌ الْفَضْلُ مِنَ اللّٰهِ ؕ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ عَلِيْمًا ﴿٧٠﴾

۽ اسان جيڪو به رسول موڪليو سو فقط ان لاءِ موڪليو ته الله جي حڪم سان ان جي اطاعت ڪئي وڃي. ۽ جڏهن اُنهن پاڻ تي ظلم ڪيو تڏهن تو وٽ اچن ها ۽ الله کان معافي گهرن ها ۽ رسول به اُنهن جي لاءِ معافي

طلب ڪري ها تہ يقينًا هو الله کي بخشڻ وارو رحمر ڪرڻ وارو لهن ها. بس تنهنجي رب جو قسم هو ڪڏهن بہ ايمان وارا نہ ٿا ٿي سگهن، جيستائين هو پنهنجن باهمي جهڳڙن ۾ توکي فيصلي ڪرڻ وارو نہ مڃي وٺن. پوءِ جيڪو فيصلو تون ڪرين اُن تي پنهنجن دلين ۾ ڪا تنگي محسوس نہ ڪن ۽ اُن کي خوشيءَ سان قبول ڪن. ۽ جيڪڏهن اسان اُنهن کي حڪم ڏيون ها تہ پنهنجي پاڻ کي قتل ڪريو يا پنهنجن گهرن مان نڪرو تہ اُنهن مان ٿورائي اُن تي عمل ڪن ها. ۽ جيڪڏهن اِهي ماڻهو حڪم ڪيل نصيحت تي عمل ڪن ها تہ اُنهن جي لاءِ اِها ڳالھ بهتر ۽ ايمان تي ثابت رهڻ جو ڪارڻ هجي ها. ۽ اُن وقت اسان اُنهن کي پاڻ وٽان وڏو اجر عطا ڪيون ها. ۽ اُنهن کي سڌو رستو ڏيکاريون ها. ۽ جيڪو الله ۽ رسول جي اطاعت ڪندو، هو اُنهن ماڻهن سان گڏ هوندو جن تي الله انعام ڪيو، يعني پيغمبر ۽ صديق ۽ شهيد ۽ صالح، ڪيڏي نہ ڀلي آهي اُنهن جي سنگت. اِهو فضل آهي الله جي طرفان ۽ الله جو علم ڪافي آهي. ٦٤-٧٠

---

رسول ان لاءِ نہ ٿو اچي تہ ماڻهو اُن جا عقيدتمند ٿي وڃن ۽ اُن جي بارگاھ ۾ لفظن جا گلدستا پيش ڪندا رهن، بلڪ رسول اُن لاءِ ايندو آهي تہ ماڻهو اُن کان پنهنجي زندگيءَ جو طريقو معلوم ڪن ۽ اُن تي عمل ڪن. هِن معاملي ۾ ماڻهوءَ کي ايترو پختو هئڻ کپي تہ نازڪ موقعن تي بہ هو رسول جي اطاعت کان نہ هٽي. جڏهن ٻن ماڻهن جو مفاد هڪٻئي سان ٽڪرائجي ۽ ٻن ماڻهن جي وچ ۾ هڪ ٻئي جي خلاف تلخي پيدا ٿئي اُن وقت بہ ماڻهوءَ کي پنهنجي نفس کي دٻائڻو آهي ۽ پاڻ کي رسول واري طريقي جو پابند بنائڻو آهي. اختلاف جي موقعي تي جيڪو شخص رسول جي رهنمائي کي قبول ڪري اُهو ئي رسول کي مڃڻ وارو آهي. ايستائين جو جيڪڏهن رسول جو طريقو سندس ذوق ۽ مصلحت جي خلاف هجي تڏهن بہ هو دل جي رضامندي سان اُن کي قبول ڪري. هو پنهنجي احساس کي ايترو زندھ رکي تہ جيڪڏهن ڪنهن وقت اُن کان غلطي ٿي وڃي تہ هو فوراً ڇرڪي پوي. هو ڄاڻي وٺي تہ رسول کي ڇڏي هو شيطان جي پنيان هلي پيو هو. هو فورًا واپس وري ۽ معافيءَ جو طلبگار ٿئي. جيڪو ماڻهو نفسياتي جهٽڪن جي موقعن تي دين تي قائم نہ رهي سگهي تہ ان مان ڪهڙي اميد ڪري سگهجي ٿي تہ هو اُنهن سخت موقعن تي ثابت قدم رهندو، جڏهن تہ وطن کي ڇڏي ۽ جان ۽ مال جي قرباني ڏئي ماڻهو کي پنهنجي ايمان جو ثبوت ڏيڻو پوي ٿو.

نفس پرستي ۽ مصلحت پسندي جي زندگي اختيار ڪرڻ جي نتيجي ۾ ماڻهو جيڪا سيني ڪان وڏي شيءِ وڃائي ٿو، اُها صراط المستقيم آهي. يعني اُهو رستو جنهن تي ماڻهو هلندو رهي، ايستائين جو هو پنهنجي رب تائين پهچي وڃي. اِهو رستو خدا جي ڪتاب ۽ رسول جي سنت ۾ واضح طور تي موجود آهي. پر ماڻهو ڪڏهن پنهنجي سوچ کي خدشن جو پابند بڻائي ٿو تہ وضاحتن جي باوجود صراط مستقيم کي ڏسي نہ ٿو سگهي. هو دين جو مطالعو پنهنجن خواهشن ۽ مصلحتن جي اثر هيٺ ڪندو آهي، نہ وري اُن جي خالص صورت ۾. هن جي ذهن ۾ پنهنجن حالتن جي مطابق دين جو هڪ هٿرادو تصور قائم ٿي ويندو آهي. هو ايمان جي دعويٰ ڪندي بہ ايمان کان محروم رهندو آهي. اِهڙا ماڻهو اُن جنت جا مستحق ڪيئن ٿي سگهن ٿا، جتي اُهي ماڻهو وسايا ويندا جن هر قسم جي مصلحتن کان مٿانهون ٿي دين کي اختيار ڪيو هو. اُهي ماڻهو جيڪي خدا جي عهد کي پورو ڪرڻ وارا آهن جيڪي حق جي گواهي آخري حد تائين ڏيڻ وارا آهن ۽ جن جون زندگيون انتهائي پاڪيزه آهن.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا خُذُوۡا حِذۡرَكُمۡ فَانۡفِرُوۡا ثُبَاتٍ اَوِ انۡفِرُوۡا جَمِيۡعًا ﴿٧١﴾ وَ اِنَّ مِنۡكُمۡ
لَمَنۡ لَّيُبَطِّئَنَّ ۚ فَاِنۡ اَصَابَتۡكُمۡ مُّصِيۡبَةٌ قَالَ قَدۡ اَنۡعَمَ اللّٰهُ عَلَىَّ اِذۡ لَمۡ اَكُنۡ مَّعَهُمۡ
شَهِيۡدًا ﴿٧٢﴾ وَ لَئِنۡ اَصَابَكُمۡ فَضۡلٌ مِّنَ اللّٰهِ لَيَقُوۡلَنَّ كَاَنۡ لَّمۡ تَكُنۡۢ بَيۡنَكُمۡ وَ بَيۡنَهٗ مَوَدَّةٌ
يّٰلَيۡتَنِىۡ كُنۡتُ مَعَهُمۡ فَاَفُوۡزَ فَوۡزًا عَظِيۡمًا ﴿٧٣﴾ فَلۡيُقَاتِلۡ فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ الَّذِيۡنَ يَشۡرُوۡنَ
الۡحَيٰوةَ الدُّنۡيَا بِالۡاٰخِرَةِ ؕ وَ مَنۡ يُّقَاتِلۡ فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ فَيُقۡتَلۡ اَوۡ يَغۡلِبۡ فَسَوۡفَ نُؤۡتِيۡهِ
اَجۡرًا عَظِيۡمًا ﴿٧٤﴾ وَ مَا لَكُمۡ لَا تُقَاتِلُوۡنَ فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ وَ الۡمُسۡتَضۡعَفِيۡنَ مِنَ الرِّجَالِ وَ
النِّسَآءِ وَ الۡوِلۡدَانِ الَّذِيۡنَ يَقُوۡلُوۡنَ رَبَّنَاۤ اَخۡرِجۡنَا مِنۡ هٰذِهِ الۡقَرۡيَةِ الظَّالِمِ اَهۡلُهَا ۚ وَ
اجۡعَلۡ لَّنَا مِنۡ لَّدُنۡكَ وَلِيًّا ۙۚ وَّ اجۡعَلۡ لَّنَا مِنۡ لَّدُنۡكَ نَصِيۡرًا ﴿٧٥﴾ؕ اَلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا يُقَاتِلُوۡنَ
فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ ۚ وَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا يُقَاتِلُوۡنَ فِىۡ سَبِيۡلِ الطَّاغُوۡتِ فَقَاتِلُوۡۤا اَوۡلِيَآءَ
ع الشَّيۡطٰنِ ۚ اِنَّ كَيۡدَ الشَّيۡطٰنِ كَانَ ضَعِيۡفًا ﴿٧٦﴾

اي ايمان وارؤ! پنهنجي بچاءَ جو سامان ڪري وٺو پوءِ نڪرو جدا جدا يا گڏجي ۽ توهان مان ڪو اهڙو بہ آهي جيڪو دير ڪري ٿو. پوءِ جيڪڏهن توهان کي ڪا مصيبت پهچي تہ هو چوي ٿو تہ الله مون تي انعام ڪيو جو آءٌ انهن سان گڏ نہ هُئس. ۽ جيڪڏهن توهان کي الله جو ڪو فضل حاصل ٿئي تہ چئي تہ توهان ۽ هُن جي وچ ۾ ڪو دوستيءَ جو رشتو ئي نہ هو. چوي ٿو تہ ڪاش! آءٌ بہ انهن سان گڏ هجان ها تہ وڏي ڪاميابي حاصل ڪريان ها. پوءِ گهرجي تہ الله جي راهہ ۾ وڙهن اُهي ماڻهو جيڪي آخرت جي بدلي دنيا جي زندگي کي وڪڻي ڇڏيندا آهن ۽ جيڪو شخص الله جي راهہ ۾ وڙهي، پوءِ مارجي وڃي يا غالب ٿئي تہ اسان اُن کي وڏو اجر ڏينداسون. ۽ توهان کي ڇا ٿيو آهي جو توهان الله جي راهہ ۾ وڙهو نٿا ۽ اُنهن ڪمزور مردن ۽ عورتن ۽ ٻارن لاءِ جيڪي چون ٿا تہ اي اسان جا رب! اسان کي هن شهر مان ڪڍ، جنهن جا ماڻهو ظالم آهن ۽ اسان جي لاءِ پنهنجي طرفان ڪو سار لهندڙ پيدا ڪر ۽ اسان لاءِ پنهنجي طرفان ڪو مددگار ڪڙو ڪر. جيڪي ماڻهو ايمان وارا آهن، اُهي الله جي راهہ ۾ وڙهندا آهن ۽ جيڪي منڪر آهن اُهي شيطان جي راهہ ۾ وڙهندا آهن. تنهن ڪري توهان شيطان جي ساٿين سان وڙهو. بيشڪ شيطان جو داءُ نهايت ڪمزور آهي. ٧٦- ٧١

---

موجوده دنيا امتحان جي دنيا آهي، اُن ڪري هتي هر هڪ کي عمل جي آزادي آهي. هتي شرير ماڻهن کي بہ موقعو آهي تہ هو خدا جي ٻانهن کي پنهنجي ظلم جو نشانو بڻائين ۽ اِنهيءَ سان گڏ خدا جي نيڪ ٻانهن کي پنهنجي ايمان جي اقرار جو ثبوت اِهڙي طرح ڏيڻو آهي، تہ هو شرير ماڻهن جي طرفان اچڻ وارين مصيبتن جي باوجود ثابت قدم رهن. ايمان وارن کي خدا جي دشمنن جي مقابلي ۾ هر وقت تيار رهڻو آهي. امن وارين تدبيرن ۽ جنگي تيارين سان اُنهن کي پوري طرح پنهنجي بچاءَ جو انتظام ڪرڻو آهي. اُنهن کي انفرادي طور بہ پنهنجي دشمن جو مقابلو ڪرڻو آهي ۽ اجتماعي طور بہ. انهي سان گڏ خود مسلمانن جي صف ۾ بہ اِهڙا ماڻهو هوندا آهن جهڙي طرح اُحد واري جنگ ۾ ظاهر ٿيو. جيڪي دنيا جي نقصان جو خطرو کڻڻ کانسواءِ آخرت جو سودو ڪرڻ چاهين ٿا. اِهڙن ماڻهن جو

حال اهڙو ٿيندو آهي تہ اُهي اُنهن ڪمن ۾ گهٽ حصو وٺندا آهن جن ۾ دنياوي فائدي جو پهلو هجي. پر دين جو اهڙو ڪم جنهن ۾ دنيا جي لحاظ کان نقصان جو انديشو هجي، اُهي اُن کان الڳ ٿيڻ جي لاءِ خوبصورت بهانا تلاش ڪري وٺندا آهن. اُنهن جي اِها ذهنيت ان ڪري آهي تہ اسلام قبول ڪرڻ جي باوجود عملي طور تي هو اُنهيءَ موجوده دنيا جي سطح تي جي رهيا آهن. جيڪڏهن اُنهن کي يقين هجي تہ اصل اهميت جي شيءِ آخرت آهي تہ دنيا جي ڪاميابي ۽ ناڪامي اُنهن جي لاءِ ناقابل لحاظ بڻجي وڃي. الله جي راهہ جو مجاهد حقيقت ۾ اُهو آهي جيڪو صرف آخرت جو طالب هجي جيڪو دنيا جي فائدن ۽ مصلحتن کي قربان ڪري الله جي راهہ ۾ اڳيان وڌي، نہ وري اُهي جيڪي اِهڙي جهاد جا غازي بڻجڻ پسند ڪن جنهن ۾ ڪو زخم لڳڻ کانسواءِ وڏا وڏا انعام ملندا هجن. جنهن ۾ ڪجهہ لفظ ڳالهائي شهرت ۽ عزت جو مقام حاصل ٿيندو هجي.

خدا جي راهہ جي لڙائي اِها آهي، جيڪا اُن خدا جي ٻانهي کي پيش اچي جيڪو صرف خدا جي لاءِ اٿيو هجي. هو ماڻهن کي جنهم کان ڊيڄاري ۽ ماڻهن کي جنت ڏانهن سڏي. هو ڪنهن سان بہ مادي يا سياسي جهڳڙا نہ ڇيڙي. پوءِ بہ شرير ماڻهو اُن سان وڙهڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃن ۽ شيطان جي راهہ ۾ لڙائي ڪرڻ وارا اُهي ماڻهو آهن جيڪي ڪنهن خدا جي ٻانهي سان اُن ڪري وڙهن تہ هُن جي ڳالهين سان اُنهن جي انا تي ضرب لڳي ٿي. اُن جي پيغام جي ڦهلجڻ ۾ اُنهن کي پنهنجو معاشي ۽ سياسي نقصان ڏسڻ ۾ ايندو آهي، اُن جي دليلن کي ٽوڙڻ جي لاءِ هو اڳرائي کانسواءِ ٻيو ڪو دليل پاڻ وٽ نٿا لهن.

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ قِيْلَ لَهُمْ كُفُّوْٓا اَيْدِيَكُمْ وَ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ ۚ فَلَمَّا كُتِبَ عَلَيْهِمُ الْقِتَالُ اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ يَخْشَوْنَ النَّاسَ كَخَشْيَةِ اللّٰهِ اَوْ اَشَدَّ خَشْيَةً ۚ وَ قَالُوْا رَبَّنَا لِمَ كَتَبْتَ عَلَيْنَا الْقِتَالَ ۚ لَوْ لَآ اَخَّرْتَنَآ اِلٰٓى اَجَلٍ قَرِيْبٍ ۭ قُلْ مَتَاعُ الدُّنْيَا قَلِيْلٌ ۚ وَالْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لِّمَنِ اتَّقٰى ۣ وَ لَا تُظْلَمُوْنَ فَتِيْلًا ﴿٧٧﴾ اَيْنَ مَا تَكُوْنُوْا يُدْرِكْكُّمُ الْمَوْتُ وَ لَوْ كُنْتُمْ فِيْ بُرُوْجٍ مُّشَيَّدَةٍ ۭ وَ اِنْ تُصِبْهُمْ حَسَنَةٌ يَّقُوْلُوْا هٰذِهٖ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۚ وَ اِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ يَّقُوْلُوْا هٰذِهٖ مِنْ عِنْدِكَ ۭ قُلْ كُلٌّ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۭ فَمَالِ هٰٓؤُلَآءِ الْقَوْمِ لَا يَكَادُوْنَ يَفْقَهُوْنَ حَدِيْثًا ﴿٧٨﴾ مَآ اَصَابَكَ مِنْ حَسَنَةٍ فَمِنَ اللّٰهِ ۡ وَ مَآ اَصَابَكَ مِنْ سَيِّئَةٍ فَمِنْ نَّفْسِكَ ۭ وَاَرْسَلْنٰكَ لِلنَّاسِ رَسُوْلًا ۭ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ﴿٧٩﴾

ڇا تو انهن ماڻهن کي نہ ڏٺو جن کي چيو ويو هو تہ پنهنجن هٿن کي روڪيو ۽ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ڏيو. پوءِ جڏهن انهن کي جنگ جو حڪم ڏنو ويو تہ انهن مان هڪ جٿو ماڻهن کان ائين ڊڄڻ لڳو جيئن الله کان ڊڄڻ گهرجي يا ان کان بہ وڌيڪ. هو چوڻ لڳا تہ اي اسان جا رب! تو اسان تي جنگ ڇو فرض ڪري ڇڏي. ٿوري وقت لاءِ اسان کي مهلت ڇو نہ ڏني. چئو تہ دنيا جو فائدو ٿورو آهي ۽ آخرت بهتر آهي پرهيزگارن جي لاءِ، ۽ توهان سان ذري برابر بہ ظلم نہ ڪيو ويندو. ۽ توهان جتي بہ هوندؤ موت توهان کي اچي وٺندو. جيتوڻيڪ توهان مضبوط قلعن ۾ هجو. جيڪڏهن ڪين ڪو فائدو رسي ٿو تہ چون ٿا تہ هي الله طرفان آهي ۽ جيڪڏهن ڪين ڪا

بُرائي پھچي ٿي تہ چون ٿا تہ اها تنهنجي ڪري آهي. چؤ تہ سڀ ڪجھ الله طرفان آهي. انهن ماڻهن کي ڇا ٿيو آهي جو لڳي ٿو اهي ڪا ڳالھ نٿا سمجهن. توهان کي جيڪا بہ ڀلائي پهچي ٿي سا خدا جي طرفان آهي ۽ توهان کي جيڪا بہ برائي پهچي ٿي سا پنهنجي نفس جي ڪمن سبب آهي. ۽ اسان توکي سمورن انسانن ڏانهن پيغمبر بڻائي موڪليو آهي ۽ الله جي شاهدي ڪافي آهي. ٧٧-٧٩

---

هجرت کان پهرين مڪي ۾ اسلام جا مخالف مسلمانن کي گھڻو ستائيندا هئا. مار ڪُٽ، اُنهن جي معيشت تباھ ڪرڻ، اُنهن کي مسجد حرام ۾ عبادت کان روڪڻ، اُنهن کي تبليغ جي اجازت نہ ڏيڻ، اُنهن کي گھر ٻار ڇڏڻ تي مجبور ڪرڻ، اِهو سڀ اُنهن مسلمانن جي لاءِ جائز ڪري ورتو هو جيڪو شخص اسلام قبول ڪندو هو. اُن تي هو هر قسم جو دٻاءُ وجهندا هئا تہ جيئن هو اسلام کي ڇڏي پنهنجي ابن ڏاڏن جي مذهب ڏانهن موٽي اچن. اسلام جي مخالفن جي اِها ناجائز اڳرائي مسلمانن جي لاءِ اصولاً جائز ڪري ڇڏيو هو تہ هو اُنهن جي خلاف تلوار کڻن. اُن ڪري هو رسول اللهﷺ کان بار بار جنگ جي اجازت گھرندا هئا. پر پاڻ سڳوراﷺ هميشہ اِهو چوندا هئا تہ مون کي جنگ جو حڪم نہ ڏنو ويو آهي. توهان صبر ڪريو ۽ نماز ۽ زڪوات جي ادائگي ڪندا رهو. ان جي وجھ اِها هئي تہ وقت کان پهرين ڪو قدم کڻڻ اسلام جو طريقو نہ آهي. مڪي ۾ مسلمانن جي ايتري طاقت نہ هئي جو هو پنهنجن دشمنن جي خلاف فيصلائتو قدم کڻي سگھن. اُن وقت مڪي وارن جي مقابلي ۾ تلوار کڻڻ پنهنجن مصيبتن کي اجا وڌيڪ وڌائڻ جي هم معنيٰ هو. اُن جو مطلب اِهو هو تہ اُهو طاقتور دشمن جيڪو اجا تائين انفرادي طور تي ظلم ڪري رهيو آهي، اُن کي پنهنجي طرفان مڪمل جنگي ڪارروائي ڪرڻ جو جواز فراهم ڪري ڇڏجي. عملي قدم هميشہ اُن وقت کڻبو آهي جڏهن اُن جي لاءِ ضروري تياري ڪئي وئي هجي. اُن کان پهرين ايمان وارن کان رڳو انفرادي حڪمن جو تقاضو ڪيو ويندو آهي جيڪي هر حال ۾ ماڻهو جي لاءِ ضروري آهي. يعني الله سان تعلق جوڙڻ. ٻانهن جا حق ادا ڪرڻ ۽ دين جي راھ ۾ جيڪي مشڪلاتون اچن اُنهن کي برداشت ڪرڻ.

قرآن ۾ قرباني جا حڪم آيا تہ مصلحت پرست ماڻهن کي پنهنجي زندگي جو نقشو ٽٽندي نظر آيو. هو پنهنجي ڪمزوري کي لڪائڻ جي لاءِ طرح طرح جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. اُحد ۾ شڪست ٿي تہ اُن کي هو رسول جي تدبير جي غلطي جو نتيجو ٻڌائي رسول جي رهنمائي جي باري ۾ ماڻهن کي بدظن ڪرڻ لڳا. فائدي وارين ڳالهين تي الله جو فضل ٻڌائي هو پنهنجي اسلام جو مظاهرو ڪندا هئا ۽ اسلام تي عمل کان بچڻ لاءِ رسول کي غلط ثابت ڪندا هئا. خدا کي مڃي ماڻهو جي لاءِ ممڪن هوندو آهي تہ هو پنهنجي نفس تي هلندو رهي، پر خدا جي داعي کي مڃڻ ڪانپوءِ ان جو ساٿ ڏيڻ بہ ضروري ٿي ويندو آهي جيڪو ماڻهو جي لاءِ سخت مشڪل ڪم آهي.

مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ ۚ وَ مَنْ تَوَلّٰى فَمَآ اَرْسَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ حَفِيْظًا ﴿٨٠﴾ وَ
يَقُوْلُوْنَ طَاعَةٌ ۫ فَاِذَا بَرَزُوْا مِنْ عِنْدِكَ بَيَّتَ طَآئِفَةٌ مِّنْهُمْ غَيْرَ الَّذِيْ تَقُوْلُ ۭ وَ اللّٰهُ
يَكْتُبُ مَا يُبَيِّتُوْنَ ۚ فَاَعْرِضْ عَنْهُمْ وَ تَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ۭ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿٨١﴾ اَفَلَا

يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْاٰنَ ؕ وَ لَوْ كَانَ مِنْ عِنْدِ غَيْرِ اللّٰهِ لَوَجَدُوْا فِيْهِ اخْتِلَافًا كَثِيْرًا ﴿٨٢﴾ وَ اِذَا
جَآءَهُمْ اَمْرٌ مِّنَ الْاَمْنِ اَوِ الْخَوْفِ اَذَاعُوْا بِهٖ ؕ وَ لَوْ رَدُّوْهُ اِلَى الرَّسُوْلِ وَ اِلٰٓى اُولِي
الْاَمْرِ مِنْهُمْ لَعَلِمَهُ الَّذِيْنَ يَسْتَنْۢبِطُوْنَهٗ مِنْهُمْ ؕ وَ لَوْ لَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَ رَحْمَتُهٗ
لَاتَّبَعْتُمُ الشَّيْطٰنَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٨٣﴾

جنهن رسول جي اطاعت ڪئي تنهن الله جي اطاعت ڪئي ۽ جنهن منهن موڙيو تہ اسان توکي اُنهن تي نگهبان بڻائي نہ موڪليو آهي ۽ اِهي ماڻهو چوندا آهن تہ اسان کي قبول آهي. پوءِ جڏهن تو وٽان نڪري وڃن ٿا تہ انهن مان هڪ گروهہ اُن جي خلاف مشورو ڪندو آهي جيڪو اُنهن چيو هو. ۽ الله اُنهن جون رٿون لکي رهيو آهي. بس تون انهن جي پرواهہ نہ ڪر ۽ الله تي ڀروسو رک. ۽ الله ئي ڀروسي جي لاءِ ڪافي آهي. ڇا اِهي ماڻهو قرآن ۾ غور نہ ٿا ڪن. جيڪڏهن اهو الله ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي جي طرفان هجي ها تہ هو ان ۾ گهڻو اختلاف ڏسن ها. ۽ جڏهن انهن وٽ امن يا خوف جي ڪا خبر پهچي ٿي تہ هو اُن کي ڦهلائي ڇڏيندا آهن. ۽ جيڪڏهن هو اُن کي رسول تائين يا پنهنجي ذميدار ماڻهن تائين پهچائين ها تہ انهن مان تحقيق ڪرڻ وارا اُن جي حقيقت ڄاڻي وٺن ها. ۽ جيڪڏهن توهان تي الله جو فضل ۽ ان جي رحمت نہ هجي ها تہ ٿورن ماڻهن ڪانسواءِ توهان سڀ شيطان جي پٺيان لڳو ها. ٨٠-٨٣

---

خدا جي داعي کي مڃڻ ”پاڻ جهڙي انسان“ کي مڃڻ آهي. اِهائي وجهہ آهي تہ ماڻهو خدا کي مڃي وٺي ٿو، پر هو خدا جي داعي کي مڃڻ لاءِ راضي نہ ٿو ٿئي. پر ماڻهوءَ جو اصل امتحان اِهو ئي آهي تہ هو خدا جي داعي کي سڃاڻي ۽ ان جو طرفدار ٿي وڃي. داعي جي معاملي کي جڏهن ماڻهو خدا جو معاملو نہ سمجهي تہ هو ان جي باري ۾ سنجيده بہ نہ هوندو آهي. ظاهر ۾ هو رسمي طور تي ها ڪري ڇڏي ٿو، پر جڏهن جدا ٿيندو آهي تہ پنهنجي پراڻي روش تي هلڻ لڳندو آهي. هو اُن جي خلاف اهڙيون ڳالهيون ڦهلائيندو آهي جن جو ڦهلائڻ سراسر غير ذميداراڻو ڪم آهي. جيڪي ماڻهو خدا جي داعي سان هن قسم جي بي پرواهي وارو سلوڪ ڪن، اُهي خدا وٽ اِهو چئي ڇُٽي نہ ٿا سگهن تہ اسان نہ ڄاڻندا هئاسين. ماڻهو جيڪڏهن غور ڪري تہ داعي جي صداقت کي ڄاڻڻ جي لاءِ اهو ڪلام ئي ڪافي آهي جيڪو خدا ان جي زبان تي جاري ڪيو آهي.

قرآن جي ڪلام الٰهي هئڻ جو هڪ واضح ثبوت اِهو آهي تہ اُن جو ڪو بہ بيان ڪنهن بہ تسليم ڪيل صداقت جي خلاف نہ آهي. اُن ۾ ڪا اهڙي شيءِ نہ آهي جيڪا انساني فطرت جي خلاف هجي. ان ۾ ڪو بہ اِهڙو بيان نہ آهي جيڪو اڳين آسماني ڪتابن جي ذريعي معلوم ٿيل ڪنهن حقيقت سان ٽڪرائيندو هجي. ان ۾ ڪو بہ اهڙو اشارو نہ آهي جيڪو علمي تجربي سان دريافت ڪيل ڪنهن واقعي جي مطابق نہ هجي. اصل حقيقتن سان مڪمل مطابقت هن ڳالهہ جو يقيني ثبوت آهي تہ اِهو الله جي طرفان آيل ڪلام آهي. جيئن تہ ڪنهن بہ سچائي جو سچائي نظر اچڻ جو انحصار ان ڳالهہ تي آهي تہ ماڻهو سنجيدگي سان ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري. قرآن جو اختلافن کان خالي هجڻ ان شخص کي ڏسڻ ۾ ايندو جيڪو قرآن ۾ ”تدبر“ ڪري. جيڪو شخص تدبر ڪرڻ نہ چاهي ان لاءِ بي معنيٰ اعتراض ڪرڻ جو دروازو ان

وقت تائين ڪليل آهي، جيستائين قيامت اچي موجوده امتحاني حالت جو خاتمو نه ڪري ڇڏي.

اسلامي سماج اهو آهي جنهن جا ماڻهو ايترا خود شناس هجن جو هو ٻئي جي مقابلي ۾ پنهنجي نااهلي کي ڄاڻي وٺن. اُهي ڪنهن معاملي کي سڀ کان اهل شخص جي حوالي ڪري ان جي رهنمائي تي راضي ٿي وڃن. اها خود شناسي ئي واحد شيءِ آهي، جيڪا اجتماعي زندگي ۾ ڪنهن کي شيطان جي پويان هلڻ کان بچائي ٿي. ماڻهو جيڪڏهن پنهنجي پاڻ کي نه سڃاڻي ته هو اهليت نه هوندي به نازڪ معاملن ۾ ٽپي پوي ٿو ۽ پوءِ خود به هلاڪ ٿيندو آهي ۽ ٻين کي به هلاڪ ڪندو آهي. اجتماعي معاملن ۾ ڳالهائڻ کان وڌيڪ ماٺ رهڻ ضروري هوندو آهي. اها شيطان جي مدد ڪرڻ آهي ته ماڻهو جيڪا ڳالهه ٻڌي ان کي ٻين جي سامهون ورجائڻ لڳي.

فَقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ لَا تُكَلَّفُ اِلَّا نَفْسَكَ وَ حَرِّضِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّكُفَّ
بَاْسَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ وَ اللّٰهُ اَشَدُّ بَاْسًا وَّ اَشَدُّ تَنْكِيْلًا ﴿٨٤﴾ مَنْ يَّشْفَعْ شَفَاعَةً حَسَنَةً
يَّكُنْ لَّهٗ نَصِيْبٌ مِّنْهَا ۚ وَ مَنْ يَّشْفَعْ شَفَاعَةً سَيِّئَةً يَّكُنْ لَّهٗ كِفْلٌ مِّنْهَا ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلٰى
كُلِّ شَيْءٍ مُّقِيْتًا ﴿٨٥﴾ وَاِذَا حُيِّيْتُمْ بِتَحِيَّةٍ فَحَيُّوْا بِاَحْسَنَ مِنْهَاۤ اَوْ رُدُّوْهَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ
النصف عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ حَسِيْبًا ﴿٨٦﴾ اَللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ لَيَجْمَعَنَّكُمْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَا رَيْبَ فِيْهِ ؕ
ع ١١ ٨ وَ مَنْ اَصْدَقُ مِنَ اللّٰهِ حَدِيْثًا ﴿٨٧﴾

پوءِ جنگ ڪندو رهه الله جي راهه ۾. تون پاڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو ذميوار نه آهين ۽ مسلمانن کي رغبت ڏيار. اميد آهي ته الله منڪرن جو زور ٽوڙي ڇڏي ۽ الله وڏو زور وارو ۽ تمام سخت سزا ڏيڻ وارو آهي. جيڪو شخص ڪنهن نيڪ ڳالهه جي سفارش ڪندو اُن جو ان مان حصو آهي ۽ جيڪو برائيءَ جي سفارش ڪندو اُن کي ان مان حصو ملندو ۽ الله هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي. ۽ جڏهن ڪو توهان کي دعا ڏي ته اوهين اُن کان بهتر يا اهڙي ئي دعا سان جواب ڏيو، بيشڪ الله هر شيءِ جو حساب وٺڻ وارو آهي. الله ئي معبود آهي، اُن کان سواءِ ڪوبه معبود نه آهي. اُهو توهان سڀني کي قيامت جي ڏينهن جمع ڪندو، جنهن جي اچڻ ۾ ڪو به شڪ نه آهي. ۽ الله جي ڳالهه کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن جي ڳالهه سچي ٿي سگهي ٿي. ٨٤ - ٨٧

---

دينداريءَ جي هڪ صورت اها آهي ته ماڻهو عملي طور تي جتي آهي اُتي ئي رهي. هو پنهنجي حقيقي زندگي ۾ ڪابه تبديلي نه ڪري، البته ڪجهه ظاهري عملن جو اهتمام ڪري سمجهي ته آئون ديندار بڻجي ويو آهيان. اهڙي دين سان ڪنهن کي به ضد نه هوندو آهي. ماڻهو اُن جي مخالفت جي ضرورت نٿا سمجهن. پر جڏهن دين جا اهڙا تقاضا پيش ڪيا وڃن جيڪي قرباني جو مطالبو ڪندا هجن. جنهن ۾ ماڻهو کي پنهنجي ٺهيل ٺڪيل زندگي اجاڙڻي پوي ته اُن جي سامهون اچڻ کان پوءِ ماڻهن ۾ به ڌريون ٿي وينديون آهن. هڪ طبقو دعوت جي مخالفن جو. اِهي اُهي ماڻهو آهن جيڪي معمولي عملن جي ذريعي پنهنجي دينداري جو ڀرم قائم ڪيل هوندا آهن. هو قرباني واري دين جا مخالف بڻجي ويندا آهن. ڇاڪاڻ ته اهڙي دين کي اختيار ڪرڻ انهن کي برتريءَ جي مقام کان لهڻ جي هم

معنيٰ نظر ايندو آهي. ٻيو طبقو اُهو هوندو آهي، جنهن جي فطرت زنده هونديٖ آهي. هو شين کي پنهنجي مفاد ۽ مصلحتن کان مٿي ڏسندو آهي. هڪ ڳالهه جو حق ثابت ٿي وڃڻ ئي اُن جي لاءِ ڪافي ٿي ويندو آهي ته هو اُن کي قبول ڪري وٺي. اِها صورتحال ڪڏهن ايتري سنگين ٿي ويندي آهي جو حق جي تائيد ۽ حمايت ۾ زبان کولڻ جهاد جي هم معنيٰ بڻجي ويندو آهي. اُن جي ابتڙ حق جي باري ۾ خاموشي يا مخالفت جو رويو اختيار ڪرڻ ماڻهوءَ کي انعام جو مستحق بڻائي ٿو ڇڏي. پوءِ جيستائين سچي ايمان وارن جو تعلق آهي انهن کي هر حال ۾ اهو حڪم آهي ته عام سماجي رشتن کي هن اختلاف جي ڪري متاثر نه ٿيڻ ڏيڻ ۽ انهن سان غير اخلاقي رويو اختيار نه ڪن. مسلمان جو رويو ٻين جي رد عمل ۾ نه هئڻ کپي بلڪ اهڙي قسم جي شين کي نظر انداز ڪري صحيح رويو رکڻ کپي. اهو معاملو الله جو آهي ته هو ڪنهن کي ڪهڙو بدلو ڏي ۽ ڪنهن جي لاءِ ڪهڙو فيصلو ڪري.

نازڪ حالتن ۾ حق جي دعوت کي زنده رکڻ جي ضمانت رڳو اها هوندي آهي ته گهٽ ۾ گهٽ داعي پنهنجي ذات جي سطح تي اِهو عزم ڪري ته هو هر حال ۾ پنهنجي موقف تي قائم رهندو، چاهي ڪو تائيد ڪرڻ وارو هجي يا نه هجي. اهڙين حالتن ۾ داعيءَ جو عزم اُن کي الله جي خاص مدد جو مستحق بڻائي ڇڏي ٿو. اُن جو هڪ مثال غزوه بدر صغريٰ آهي جيڪو احد جي صرف هڪ مهيني ڪانپوءِ پيش آيو. ان وقت مديني ۾ اِهڙي ڪيفيت هئي جو رڳو ستر ماڻهو رسول الله ﷺ سان گڏ نڪتا. پر هِن ننڍي قافلي کي الله جي اِها خاص مدد ملي جو مڪي وارن تي اهڙو رعب ڇانئجي ويو جو اُهي مقابلي ۾ اچي نه سگهيا. خدا جي سنت آهي ته هو منڪرن جو زور ٽوڙي. پر خدا جي اِها سنت ان وقت ظاهر ٿيندي آهي جڏهن دين جا علمبردار بي سر و سامان هئڻ جي باوجود خدا جي دشمنن جو زور ٽوڙڻ لاءِ نڪري پيا هجن.

فَمَا لَكُمْ فِي الْمُنٰفِقِيْنَ فِئَتَيْنِ وَ اللّٰهُ اَرْكَسَهُمْ بِمَا كَسَبُوْا ؕ اَتُرِيْدُوْنَ اَنْ تَهْدُوْا مَنْ
اَضَلَّ اللّٰهُ ؕ وَ مَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ سَبِيْلًا ﴿٨٨﴾ وَدُّوْا لَوْ تَكْفُرُوْنَ كَمَا كَفَرُوْا
فَتَكُوْنُوْنَ سَوَآءً فَلَا تَتَّخِذُوْا مِنْهُمْ اَوْلِيَآءَ حَتّٰى يُهَاجِرُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ فَاِنْ تَوَلَّوْا
فَخُذُوْهُمْ وَ اقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ وَجَدْتُّمُوْهُمْ ۪ وَ لَا تَتَّخِذُوْا مِنْهُمْ وَلِيًّا وَّ لَا نَصِيْرًا ﴿٨٩﴾ اِلَّا
الَّذِيْنَ يَصِلُوْنَ اِلٰى قَوْمٍۭ بَيْنَكُمْ وَ بَيْنَهُمْ مِّيْثَاقٌ اَوْ جَآءُوْكُمْ حَصِرَتْ صُدُوْرُهُمْ اَنْ
يُّقَاتِلُوْكُمْ اَوْ يُقَاتِلُوْا قَوْمَهُمْ ؕ وَ لَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَسَلَّطَهُمْ عَلَيْكُمْ فَلَقٰتَلُوْكُمْ ۚ فَاِنِ
اعْتَزَلُوْكُمْ فَلَمْ يُقَاتِلُوْكُمْ وَ اَلْقَوْا اِلَيْكُمُ السَّلَمَ ۙ فَمَا جَعَلَ اللّٰهُ لَكُمْ عَلَيْهِمْ سَبِيْلًا ﴿٩٠﴾
سَتَجِدُوْنَ اٰخَرِيْنَ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يَّاْمَنُوْكُمْ وَ يَاْمَنُوْا قَوْمَهُمْ ؕ كُلَّمَا رُدُّوْۤا اِلَى الْفِتْنَةِ
اُرْكِسُوْا فِيْهَا ۚ فَاِنْ لَّمْ يَعْتَزِلُوْكُمْ وَ يُلْقُوْۤا اِلَيْكُمُ السَّلَمَ وَ يَكُفُّوْۤا اَيْدِيَهُمْ فَخُذُوْهُمْ وَ
ع ١٢ ٩ اقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ ثَقِفْتُمُوْهُمْ ؕ وَ اُولٰٓئِكُمْ جَعَلْنَا لَكُمْ عَلَيْهِمْ سُلْطٰنًا مُّبِيْنًا ﴿٩١﴾

پوءِ توهان کي ڇا ٿيو آهي جو منافقن جي معاملي ۾ توهان ٻه ٽولا ٿي ويا آهيو. حالانڪ الله سندن عملن جي ڪري ڪين ابتو ڦيري ڇڏيو آهي. ڇا توهان چاهيو ٿا ته انهن کي راهه تي آڻيو جن کي الله گمراهه ڪري ڇڏيو آهي. ۽ جنهن کي الله گمراهه ڪري ڇڏي تنهن لاءِ تون هرگز ڪو رستو نه لهندين. هو چاهين ٿا ته جهڙي طرح انهن انڪار ڪيو آهي توهان به انڪار ڪيو ته جيئن سڀ هڪ ٿي وڃو. تنهن ڪري انهن مان ڪنهن کي دوست نه بڻايو، جيستائين هو الله جي راهه ۾ هجرت نه ڪن. پوءِ جيڪڏهن هو ان کي قبولِ نه ڪن ته ڪين پڪڙيو ۽ جتي ڪين لهو انهن کي قتل ڪريو ۽ انهن مان ڪنهن کي ساٿي ۽ مددگار نه بڻايو. پر اُهي ماڻهو جيڪي ڪنهن اهڙي قوم سان وڃي مليا هجن جنهن سان توهان جو معاهدو آهي. يا اُهي ماڻهو جيڪي توهان وٽ ان حال ۾ اچن جو انهن جون دليون تنگ ٿي رهيون هجن توهان جي لڙائي جي ڪري ۽ پنهنجي قوم جي لڙائي جي ڪري. ۽ جيڪڏهن الله چاهي ها ته انهن کي توهان جي مٿان زور ڏئي ڇڏي ها، پوءِ اهي توهان سان ضرور وڙهن ها. پوءِ جيڪڏهن هو توهان کان پاسو ڪن ۽ توهان سان جنگ نه ڪن ۽ توهان سان صلح جو رويو رکن ته الله توهان کي به انهن جي خلاف ڪنهن اگرائي جي اجازت نه ٿو ڏي. ٻيا ڪجهه اهڙا ماڻهو به توهان کي ملندا جيڪي چاهين ٿا ته توهان سان به امن ۾ رهن ۽ پنهنجي قوم سان به امن ۾ رهن، پر جڏهن به فتني جو موقعو ملي ته هو ان ۾ اونڌي منهن ڪري پوندا آهن. اهڙا ماڻهو جيڪڏهن توهان کان پاسو نه ڪن ۽ توهان سان صلح جو رويو نه رکن ۽ پنهنجا هٿ نه جهلين ته پوءِ جتي اهي توهان کي ملن اتي ڪين پڪڙيو ۽ قتل ڪيو. اهي ماڻهو آهن جن جي خلاف اسان توهان کي کُلي حجت ڏني آهي. ٨٨-٩١

---

ماڻهو جڏهن الله جي دين کي اپنائي ٿو ته اُن کان پوءِ اُن جي زندگيءَ ۾ بار بار اهڙا مرحلا ايندا آهن، جتي اِها جانچ ٿيندي آهي ته هو پنهنجي فيصلي ۾ سنجيده آهي يا نه. انهيءَ سلسلي جو هڪ امتحان ”هجرت“ آهي. يعني دين جي راهه ۾ جڏهن دنيا جا فائدا ۽ مصلحتون رڪاوٽ بڻجندي نظر اچن ته فائدن ۽ مصلحتن کي ڇڏي الله ڏانهن وڌي وڃڻ. ايستائين جو جيڪڏهن مائٽن ۽ گهر ۽ ٻارن کي ڇڏڻ جي ضرورت پيش اچي ته انهن کي به ڇڏي ڏين. اهڙو نازڪ موقعو پيش اچڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن ائين ٿئي جو ماڻهو پنهنجي فائدن ۽ مصلحتن کي نظر انداز ڪري حق ڏانهن وڌي ته هن حق سان پنهنجي قلبي تعلق کي پختو ڪيو. اُن جي برعڪس جيڪڏهن ائين ٿئي جو اهڙي موقعي تي ماڻهو پنهنجن فائدن ۽ مصلحتن سانِ چنبڙيو رهي ته هن حق سان پنهنجي قلبي تعلق کي ڪمزور ڪيو. جيڪو ماڻهو پهرين راهه تي هليو اُن جي اندر حق کي قبولڻ جو وڌيڪ مادو پيدا ٿيندو آهي، هو برابر حق ڏانهن وڌندو رهي ٿو ۽ جيڪو شخص ٻي راهه کي اختيار ڪري ته اُن جي اندر حق کي قبولڻ جو مادو گهٽبو رهي ٿو، ايستائين جو هو ايترو بي حس ٿي ويندو آهي جو اُن جي اندر حق کي قبول ڪرڻ جي صلاحيت باقي نٿي رهي.

جڏهن دين جا سخت تقاضا سامهون ايندا آهن ته ماڻهن ۾ مختلف گروهه بڻجي ويندا آهن. ڪو مخلصن جو هوندو آهي ۽ ڪو مخالفن جو ۽ ڪجهه اهڙن ماڻهن جو جيڪي ظاهر ۾ حق سان قريب پر اندر ۾ اُن کان پري هوندا آهن. اهڙي حالت ۾ ضروري آهي ته ايمان وارا هر هڪ سان سندن حال مطابق معاملو ڪن. هو فتني کي پاڙ کان پٽڻ ۾ سخت ۽ اخلاقي ذميدارين کي نڀائڻ ۾ نرم هجن. اُهي ڪمزورن سان رعايت وارو سلوڪ ڪن. ٻين کان متاثر ٿيڻ جي بجاءِ خود انهن کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. ڪنهن کي جيڪڏهن الله خاموش ڪري ويهاري ڇڏي ته اُن سان بنا ضرورت لڙائي نه ڇيڙين.

وَ مَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ اَنْ يَّقْتُلَ مُؤْمِنًا اِلَّا خَطَـًٔا ۚ وَ مَنْ قَتَلَ مُؤْمِنًا خَطَـًٔا فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ
مُّؤْمِنَةٍ وَّ دِيَةٌ مُّسَلَّمَةٌ اِلٰۤى اَهْلِهٖۤ اِلَّاۤ اَنْ يَّصَّدَّقُوْا ؕ فَاِنْ كَانَ مِنْ قَوْمٍ عَدُوٍّ لَّكُمْ وَ هُوَ
مؤمن فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مُّؤْمِنَةٍ ؕ وَ اِنْ كَانَ مِنْ قَوْمٍۭ بَيْنَكُمْ وَ بَيْنَهُمْ مِّيْثَاقٌ فَدِيَةٌ
مُّسَلَّمَةٌ اِلٰۤى اَهْلِهٖ وَ تَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مُّؤْمِنَةٍ ۚ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ شَهْرَيْنِ مُتَتَابِعَيْنِ ٞ
تَوْبَةً مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿۹۲﴾ وَ مَنْ يَّقْتُلْ مُؤْمِنًا مُّتَعَمِّدًا فَجَزَآؤُهٗ
جَهَنَّمُ خٰلِدًا فِيْهَا وَ غَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ لَعَنَهٗ وَ اَعَدَّ لَهٗ عَذَابًا عَظِيْمًا ﴿۹۳﴾

۽ مسلمان جو ڪم نہ آهي جو هو مسلمان کي قتل ڪري، پر جي ائين غلطي سان ٿي وڃي. ۽ جيڪو ماڻهو ڪنهن مسلمان کي غلطي سان قتل ڪري وجهي تہ هو هڪ مسلمان غلام کي آزاد ڪري ۽ مقتول جي وارثن کي خون بها ڏي. سواءِ اِن جي جو هو معاف ڪن. پوءِ مقتول جيڪڏهن اهڙي قوم مان هو جيڪا توهان جي دشمن آهي ۽ هو خود مسلمان هو، تہ پوءِ هو هڪ مسلمان غلام آزاد ڪري. ۽ جيڪڏهن هو (مقتول) اهڙي قوم مان هجي جنهن سان اوهان جو عهد آهي تہ پوءِ اُن جي وارثن کي خون بها بہ ڏي ۽ هڪ مسلمان آزاد ڪري. پوءِ جنهن کي ميسر نہ هجي تہ هو لاڳيتا ٻہ مهينا روزا رکي. اهي الله جي طرفان توبهہ (قبول) ڪرڻ لاءِ آهن. ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. ۽ جيڪو ماڻهو ڪنهن مسلمان کي ڄاڻي ٻجهي قتل ڪري تہ اُن جي سزا جهنم آهي جنهن ۾ هو هميشہ رهندو ۽ اُن تي الله جو غضب ۽ سندس لعنت آهي ۽ الله اُن لاءِ وڏو عذاب تيار ڪري رکيو آهي. ٩٢-٩٣

---

هڪ مسلمان تي ٻئي مسلمان جا جيڪي حق آهن، اُنهن ۾ سڀني کان وڏو حق اِهو آهي تہ هو اُن جي جان جو احترام ڪري. جيڪڏهن هڪ مسلمان ڪنهن ٻئي مسلمان کي قتل ڪري ڇڏي تہ هن سڀني کان وڏو سماجي ڏوهہ ڪيو. هڪ ماڻهو جڏهن ٻئي ماڻهوءَ کي قتل ڪندو آهي تہ هو اُنهيءَ تي آخري وار ڪندو آهي ۽ هي اُهو ڏوهہ آهي جنهن کان پوءِ مجرم جي لاءِ پنهنجي ڏوهہ جي تلافي جي ڪا بہ صورت باقي نٿي رهي. اِهو ئي سبب آهي جو ارادتًا قتل جي سزا جهنم آهي ”خلود في النار“. جيڪو ماڻهو ڪنهن مسلمان کي ڄاڻي واڻي ماري ڇڏي تہ اُن تي الله ايڏو غضبناڪ ٿيندو آهي جو هُن کي لعنت ڪيل قرار ڏئي هُن کي هميشہ لاءِ جهنم ۾ وجهي ڇڏيندو آهي. البت غلطي سان قتل (قتلِ خطا) جو ڏوهہ هلڪو آهي. ڪو ماڻهو ڪنهن مسلمان کي غلطي سان ماري وجهي، اُن کان پوءِ هُن کي غَلطي جو احساس ٿئي ۽ هو الله جي سامهون روئي ۽ التجا ڪري ۽ مقرر قاعدي مطابق اُن جي تلافي ڪري، تہ اميد آهي تہ الله تعاليٰ اُن کي معاف ڪري ڇڏيندو. غلطيءَ کان پوءِ مال خرچ ڪرڻ يا لڳاتار روزا رکڻ ڄڻ تہ خود پنهنجي هٿن سان پاڻ کي سزا ڏيڻ آهي. جڏهن ماڻهوءَ تي شدت سان اهو احساس طاري ٿيندو آهي تہ اُن کان غلطي ٿي وئي آهي تہ هو چاهي ٿو تہ پاڻ تي ڪو اصلاحي عمل ڪري. الله ٻڌايو آهي تہ اهڙي حالت ۾ ماڻهوءَ کي پنهنجي اصلاح جي لاءِ ڇا ڪرڻ کپي. هتي اصل ۾ قتل جي حڪم کي ٻڌايو ويو آهي. جيئن تہ اهڙي نوعيت جا ٻيا سماجي ڏوهہ بہ آهن. ذڪر ڪيل حڪم مان اندازو ٿيندو آهي تہ انهن ٻين شين جي باري ۾ شريعت جي تقاضا ڇا آهي.

هڪ مسلمان تي جهڙي طرح اِهو فرض آهي تہ هو پنهنجي ڀاءُ کي زندگي کان محروم ڪرڻ جي

ڪوشش نہ ڪري، اهڙي طرح هڪ مسلمان جو ٻئي مسلمان تي اِهو حق بہ آهي تہ هو هُن ڪي بي عزت نہ ڪري. اُن جو مال نہ ڪسي ان ڪي بي گهر نہ ڪري. اُن جي روزگار ۾ رنڊڪ نہ وجهي. اُن جو سڪون برباد ڪرڻ جا منصوبا نہ ٺاهي. اهي شيون جيڪي اُن جي لاءِ سرمايي جي حيثيت رکنديون آهن، انهن مان ڪنهن شيءِ ڪي ان ڪان کسڻ جي ڪوشش نہ ڪري. هڪ ماڻهو جيڪڏهن غلطي سان ڪو اهڙو ڪم ڪري وجهي جنهن سان ان جي مسلمان ڀاءُ ڪي اهڙي قسم جو ڪو نقصان پهچي وڃي تہ هن ڪي فورًا پنهنجي غلطيءَ جو احساس هئڻ ڪپي ۽ غلطيءَ جي احساس جو ثبوت اِهو آهي تہ هو الله ڪان معافي گهُري ۽ پنهنجي ڀاءُ جي نقصان جي تلافي ڪري. ان جي ابتڙ جيڪڏهن ائين ٿئي جو ماڻهو ڄاڻي واڻي اهڙي ڪارروائي ڪري جنهن جو مقصد پنهنجي ڀاءُ ڪي نقصان پهچائڻ ۽ اُن ڪي پريشان ڪرڻ هجي تہ ٿوري فرق سان اِهو اُنهي نوعيت جو جرم آهي جيئن ارادي سان قتل ڪرڻ.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا ضَرَبْتُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَتَبَيَّنُوْا وَ لَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ اَلْقٰۤى اِلَيْكُمُ
السَّلٰمَ لَسْتَ مُؤْمِنًا ۚ تَبْتَغُوْنَ عَرَضَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۫ فَعِنْدَ اللّٰهِ مَغَانِمُ كَثِيْرَةٌ ؕ
كَذٰلِكَ كُنْتُمْ مِّنْ قَبْلُ فَمَنَّ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ فَتَبَيَّنُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿۹۴﴾
لَا يَسْتَوِي الْقٰعِدُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ غَيْرُ اُولِي الضَّرَرِ وَ الْمُجٰهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ
بِاَمْوَالِهِمْ وَ اَنْفُسِهِمْ ؕ فَضَّلَ اللّٰهُ الْمُجٰهِدِيْنَ بِاَمْوَالِهِمْ وَ اَنْفُسِهِمْ عَلَى الْقٰعِدِيْنَ
دَرَجَةً ؕ وَ كُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الْحُسْنٰى ؕ وَ فَضَّلَ اللّٰهُ الْمُجٰهِدِيْنَ عَلَى الْقٰعِدِيْنَ اَجْرًا
ع ۱۳ عَظِيْمًا ﴿۹۵﴾ دَرَجٰتٍ مِّنْهُ وَ مَغْفِرَةً وَّ رَحْمَةً ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۹۶﴾ ۱۰

اي ايمان وارؤ! جڏهن توهان سفر ڪيو الله جي راهہ ۾ تہ چڱي طرح تحقيق ڪندا ڪيو ۽ جيڪو شخص توهان ڪي سلام ڪري اُنهي ڪي ائين نہ چؤ تہ تون مسلمان نہ آهين. توهان دنيا جي زندگي جو سازو سامان چاهيو ٿا تہ الله وٽ تمام گهڻو غنيمت جو سامان آهي. توهان بہ اڳ ۾ اهڙائي هئا. پوءِ الله توهان تي فضل ڪيو تنهن ڪري تحقيق ڪندا ڪريو. جيڪو ڪجهہ توهان ڪريو ٿا الله اُن ڪان باخبر آهي. برابر نہ ٿا ٿي سگهن ويهي رهندڙ مسلمان بغير ڪنهن عذر جي ۽ اُهي مسلمان جيڪي الله جي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ وارا آهن پنهنجن مالن ۽ جانين سان. مال ۽ جان سان جهاد ڪرڻ وارن جو درجو الله ويهي رهندڙن ڪان وڏو رکيو آهي ۽ هر هڪ سان الله ڀلائي جو واعدو ڪيو آهي. ۽ الله جهاد ڪرڻ وارن ڪي ويهي رهڻ وارن تي تمام وڏي فضيلت ڏني آهي، اُنهن لاءِ الله جي طرفان وڏا درجا آهن ۽ بخشش ۽ رحمت پڻ آهي. ۽ الله بخشڻ وارو مهربان آهي. ٩٤-٩٦

---

عرب جي مخالف قبيلن ۾ ڪجهہ اهڙا ماڻهو هئا جيڪي اندر ۾ مسلمان هئا، پر هجرت ڪري اچا پنهنجي قبيلي ڪان ڌار نہ ٿيا هئا. هڪ غزوه (لڙائي) ۾ اِهڙو هڪ ماڻهو مسلمانن جي تلوار جي نشاني تي اچي ويو. هُن ”السلام عليڪم“ چئي ظاهر ڪيو تہ آئون توهان جو ديني ڀاءُ آهيان. ڪجهہ مسلمانن جوش ۾ اچي پوءِ بہ اُن ڪي قتل ڪري ڇڏيو. اُنهن سمجهو تہ هِي مسلمان نہ آهي ۽ رڳو پاڻ ڪي بچائڻ جي لاءِ ”السلام عليڪم“ چئي رهيو آهي. پر ”السلام عليڪم“ چوڻ جي حد تائين بہ ڪو ماڻهو مسلمان هجي تہ اُن تي هٿ

ڪٽڻ جائز نہ آهي. ايستائين جو جنگ جي موقعي تي بہ اجازت نہ آهي. جڏهن تہ اهو انديشو بہ هجي تہ دشمن ان مان فائدو وٺندو. ڪنهن مسلمان جو ماريو وڃڻ الله جي نزديڪ ايترو وڏو حادثو آهي جو سڄي دنيا جو فنا ٿي وڃڻ بہ اُن جي مقابلي ۾ گهٽ آهي. (زوال الدنيا اهون علي الله من قتل امرئ- مسلم حديث)

جڏهن بہ ڪو شخص هِن قسم جو اسلامي جوش ڏيکاري ٿو تہ هو ٻئي ماڻهو جي اسلام واري حيثيت کي تسليم نہ ڪندي ان کي سزا ڏيڻ تي ضد ڪري ٿو تہ ان جي پويان هميشہ دنياوي مفاد هوندا آهن. ڪڏهن ڪا مادي لالچ، ڪڏهن انتقام جي باهہ، ڪڏهن پنهنجي ڪنهن دشمن کي ميدان کان هٽائڻ جو شوق، اهي اهڙي قسم جا جذبا آهن جيڪي ان جا ڪارڻ بڻجن ٿا. جيڪڏهن ماڻهوءَ جي سيني ۾ الله کان ڊڄڻ واري دل هجي تہ هو اسلام جو اظهار ڪرڻ واري جي لفظن کي قبول ڪري وٺندو ۽ هُن جي معاملي کي الله جي حوالي ڪري ماٺ ڪري ويندو.

عمل جي لحاظ کان مسلمانن جا ٻہ درجا آهن. هڪڙا اُهي ماڻهو جيڪي فرضن جي دائري ۾ اسلامي زندگي اختيار ڪن. اهي الله جي عبادت ڪن ۽ حرام ۽ حلال جي حدن جو لحاظ ڪندي زندگي گذارين. ٻيا ماڻهو اُهي آهن جيڪي قربانيءَ جي سطح تي اسلام کي اختيار ڪن. هو پاڻ اسلام کي اختيار ڪندي ٻين کي بہ اسلام تي آڻڻ جي ڪوشش ڪن ۽ هِن راهہ جي مصيبتن کي برداشت ڪن. هو اسلام جي محاذ تي پنهنجي جان ۽ مال کڻي حاضر ٿي وڃن. هو فرضن جي حدن ۾ نہ رڪجي وڃن، بلڪ فرضن کان اڳيان وڌي پنهنجي پاڻ کي اسلام جي لاءِ پيش ڪري ڇڏين. اِهي ٻئي جماعتون مخلص آهن ۽ ٻئي الله جي رحمتن ۾ پنهنجو حصو لهنديون. پر ٻي جماعت جو معاملو بنيادي طور تي الڳ آهي. اُنهن حساب ڪري خدا جي راهہ ۾ نہ ڏنو، ان ڪري خدا بہ انهن کي بي حساب ڏيندو. انهن مصلحتن جي پرواهہ نہ ڪندي خدا جي مشن ۾ پنهنجي پاڻ کي شريڪ ڪيو، ان ڪري خدا بہ ڪنهن جي پرواهہ ڪرڻ کانسواءِ انهن کي پنهنجي رحمتن ۾ وٺي ڇڏيندو.

اِنَّ الَّذِيۡنَ تَوَفّٰهُمُ الۡمَلٰٓئِكَةُ ظَالِمِىۡۤ اَنۡفُسِهِمۡ قَالُوۡا فِيۡمَ كُنۡتُمۡ‌ؕ قَالُوۡا كُنَّا
مُسۡتَضۡعَفِيۡنَ فِى الۡاَرۡضِ‌ؕ قَالُوۡۤا اَلَمۡ تَكُنۡ اَرۡضُ اللّٰهِ وَاسِعَةً فَتُهَاجِرُوۡا فِيۡهَا‌ؕ
فَاُولٰٓئِكَ مَاۡوٰٮهُمۡ جَهَنَّمُ‌ؕ وَسَآءَتۡ مَصِيۡرًا ۙ‏ ﴿٩٧﴾ اِلَّا الۡمُسۡتَضۡعَفِيۡنَ مِنَ الرِّجَالِ وَ
النِّسَآءِ وَ الۡوِلۡدَانِ لَا يَسۡتَطِيۡعُوۡنَ حِيۡلَةً وَّ لَا يَهۡتَدُوۡنَ سَبِيۡلًا ۙ‏ ﴿٩٨﴾ فَاُولٰٓئِكَ عَسَى اللّٰهُ
اَنۡ يَّعۡفُوَ عَنۡهُمۡ‌ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَفُوًّا غَفُوۡرًا‏ ﴿٩٩﴾ وَ مَنۡ يُّهَاجِرۡ فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ يَجِدۡ فِى
الۡاَرۡضِ مُرٰغَمًا كَثِيۡرًا وَّسَعَةً‌ؕ وَ مَنۡ يَّخۡرُجۡ مِنۡۢ بَيۡتِهٖ مُهَاجِرًا اِلَى اللّٰهِ وَ رَسُوۡلِهٖ ثُمَّ
ع ۱۱ يُدۡرِكۡهُ الۡمَوۡتُ فَقَدۡ وَقَعَ اَجۡرُهٗ عَلَى اللّٰهِ‌ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوۡرًا رَّحِيۡمًا ﴿١٠٠﴾

جيڪي ماڻهو پنهنجو برو ڪري رهيا آهن جڏهن فرشتا انهن جي جان قبض ڪندا تہ انهن کان پڇندا تہ اوهين ڪهڙي حال ۾ هئا. هو چوندا تہ اسان زمين ۾ بيوس هئاسون. فرشتا چوندا تہ ڇا الله جي زمين ڪشادي نہ هئي

جو اوهان وطن ڇڏي اُتي هليا ويو ها. اِهي اُهي ماڻهو آهن جن جو ٺڪاڻو جهنم آهي ۽ اُها وڏي بڇڙي جاءِ آهي. پر اُهي بيوس مرد ۽ عورتون ۽ ٻار جيڪي نہ حيلو ڪري سگهن ۽ نہ ڪا راهہ لهن، اميد آهي تہ الله انهن ماڻهن کي معاف ڪري ڇڏيندو ۽ الله معاف ڪرڻ وارو بخشڻ وارو آهي. ۽ جيڪو الله جي راهہ ۾ وطن ڇڏيندو اُهو زمين ۾ وڏي جاءِ ۽ گهڻي ڪشادگي لهندو ۽ جيڪو ماڻهو پنهنجي گهر کان الله ۽ اُن جي رسول ڏانهن هجرت ڪري نڪري، پوءِ اُن کي موت اچي وڃي تہ سندس اجر الله جي ذِمي ٿي چڪو ۽ الله بخشڻ وارو رحم ڪرڻ وارو آهي. ٩٧-١٠٠

---

مؤمن جي فطرت چاهي ٿي تہ اُن کي آزاد ماحول ملي، جتي اُن جي ايمان جي اظهار لاءِ ڪليل موقعو هجي. جڏهن بہ ائين نہ ٿئي تہ ماڻهو کي گهرجي تہ پنهنجو ماحول بدلائي ڇڏي. انهيءَ جو نالو هجرت آهي. هجرت جي اصل حقيقت اِها آهي تہ ماڻهو پاڻ کي غير مناسب ماحول مان ڪڍي ۽ پاڻ کي مناسب ماحول ۾ وٺي وڃي. هڪ ادارو آهي جنهن ۾ ڪجهہ شخصيتن جو زور آهي، اُتي رهڻ وارو هڪ ماڻهو محسوس ڪري ٿو تہ آءٌ هتي شخصيت پرست بڻجي تہ رهي سگهان ٿو، پر خدا پرست بڻجي نہ ٿو رهي سگهان. پوءِ جيڪڏهن اُهو ماڻهو پنهنجي مفاد خاطر اِهڙي ماحول سان مصلحت ڪري اُتي رهي پوي ۽ جيڪا شيءِ اُن کي حق نظر اچي، ان جي حق هئڻ جو اعلان نہ ڪري، ايستائين جو اُن ئي حال ۾ مري وڃي تہ هُن پنهنجي جان تي ظلم ڪيو. اهڙي طرح ڪا قوم آهي جنهن جو هڪ قومي مذهب آهي. اُها اُن ئي ماڻهو کي اعزاز عطا ڪندي آهي جيڪو ان جي قوم پرستي واري مذهب کي اختيار ڪري. جيڪو ماڻهو ائين نہ ڪري قوم ان کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿي ڇڏي. اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن هڪ ماڻهو ان قوم جو ساٿي بڻجي ٿو ۽ انهي حال ۾ ان جو موت اچي وڃي ٿو تہ ان پنهنجي جان تي ظلم ڪيو. اهڙي طرح هڪ ماحول ۾ حق جي دعوت بلند ٿيندي آهي. ان وقت ضرورت هوندي آهي تہ ٺڙيل پڪڙيل ايمان وارا ان سان گڏجي وڃن. اُهي پنهنجن صلاحيتن کي ان جي خدمت ۾ لڳائين. اُهي پنهنجي مال سان ان جي مدد ڪن. پر ايمان وارا پنهنجن فائدن ۽ مصلحتن جي خول ۾ پيا هوندا آهن. هو ائين نہ ٿا ڪن جو پنهنجي خول کان ٻاهر اچن ۽ حق جي قافلي ۾ شريڪ ٿي اُن جي قوت جو سبب بڻجن. جيڪڏهن هو اُن ئي حال ۾ پنهنجي زندگيءَ جا ڏينهن پورا ڪري ٿا ڇڏين، تہ هو خدا وٽ اُن حال ۾ پهچندا جو اهي پنهنجن جانين تي ظلم ڪندڙ هئا. پر اهي ماڻهو ان کان آجا آهن جيڪي اپترا تہ معذور هجن جيڪي نہ ڪا تدبير ڪري سگهن نہ ئي ڪا راهہ لهن.

ماڻهو پنهنجي ماحول ۾ غير مناسب حالتن کي ڏسي سمجهي ٿو تہ سڄي دنيا ان جي لاءِ اِهڙي ئي غير مناسب هوندي. پر خدا جي وسيع دنيا ۾ هر طرح جا ماڻهو وسندا آهن. هتي جيڪڏهن ”مڪو“ آهي جتي داعي کي پٿر هنيا ويندا آهن تہ هتي ”يثرب“ بہ آهي، جتي داعي جو استقبال ڪيو ويندو آهي، ان ڪري ماڻهو کي ماحول سان مصلحت يا ٺاهہ ڪرڻ جي بجاءِ ماحول جي تبديلي جي اصول کي اپنائڻ گهرجي. عين ممڪن آهي تہ نئين مقام کي پنهنجي عمل جو ميدان بڻائڻ سان اُن جي لاءِ نون موقعن ۽ ترقيءَ جا دروازا کلي وڃن.

وَ اِذَا ضَرَبْتُمْ فِی الْاَرْضِ فَلَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَقْصُرُوْا مِنَ الصَّلٰوةِ ۖ اِنْ خِفْتُمْ

اَنْ يَّفْتِنَكُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ اِنَّ الْكٰفِرِيْنَ كَانُوْا لَكُمْ عَدُوًّا مُّبِيْنًا ﴿۱۰۱﴾ وَ اِذَا كُنْتَ فِيْهِمْ
فَاَقَمْتَ لَهُمُ الصَّلٰوةَ فَلْتَقُمْ طَآئِفَةٌ مِّنْهُمْ مَّعَكَ وَ لْيَاْخُذُوْۤا اَسْلِحَتَهُمْ ۫ فَاِذَا
سَجَدُوْا فَلْيَكُوْنُوْا مِنْ وَّرَآئِكُمْ ۪ وَ لْتَاْتِ طَآئِفَةٌ اُخْرٰى لَمْ يُصَلُّوْا فَلْيُصَلُّوْا مَعَكَ وَ
لْيَاْخُذُوْا حِذْرَهُمْ وَ اَسْلِحَتَهُمْ ۚ وَدَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ تَغْفُلُوْنَ عَنْ اَسْلِحَتِكُمْ وَ
اَمْتِعَتِكُمْ فَيَمِيْلُوْنَ عَلَيْكُمْ مَّيْلَةً وَّاحِدَةً ؕ وَ لَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِنْ كَانَ بِكُمْ اَذًى
مِّنْ مَّطَرٍ اَوْ كُنْتُمْ مَّرْضٰۤى اَنْ تَضَعُوْۤا اَسْلِحَتَكُمْ ۚ وَ خُذُوْا حِذْرَكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ اَعَدَّ
لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابًا مُّهِيْنًا ﴿۱۰۲﴾ فَاِذَا قَضَيْتُمُ الصَّلٰوةَ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ قِيٰمًا وَّ قُعُوْدًا وَّ عَلٰى
جُنُوْبِكُمْ ۚ فَاِذَا اطْمَاْنَنْتُمْ فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ ۚ اِنَّ الصَّلٰوةَ كَانَتْ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ كِتٰبًا
مَّوْقُوْتًا ﴿۱۰۳﴾ وَ لَا تَهِنُوْا فِي ابْتِغَآءِ الْقَوْمِ ؕ اِنْ تَكُوْنُوْا تَاْلَمُوْنَ فَاِنَّهُمْ يَاْلَمُوْنَ كَمَا
ع ۱۵ ۱۲ تَاْلَمُوْنَ ۚ وَ تَرْجُوْنَ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا يَرْجُوْنَ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿۱۰۴﴾

۽ جڏهن توهان زمين ۾ سفر ڪريو تہ توهان تي ڪو گناهہ نہ آهي تہ توهان نماز ۾ ڪمي ڪريو. جيڪڏهن توهان کي ڊپ هجي تہ ڪافر توهان کي ستائيندا. بيشڪ ڪافر توهان جا پڌرا دشمن آهن ۽ جيڪڏهن تون مسلمانن ۾ هُجين ۽ انهن جي لاءِ نماز قائم ڪرين تہ گهرجي تہ انهن جي هڪ جماعت توسان بيهي ۽ پنهنجا هٿيار پاڻ سان رکي. پوءِ جڏهن اُهي سجدو ڪري وٺن تہ هو تو وٽان هٽي وڃن ۽ ٻي جماعت اچي جنهن نماز ادا نہ ڪئي آهي ۽ اُهي تو سان نماز پڙهن. ۽ پنهنجي بچاءُ جو سامان ۽ پنهنجا هٿيار ساڻ رکن. ڪافر ماڻهو چاهين ٿا تہ توهان پنهنجن هٿيارن ۽ سامان کان غافل ٿي وڃو، تہ جيئن هو هڪ ئي وقت توهان تي حملو ڪن ۽ توهان تي ڪوبہ گناهہ نہ آهي جيڪڏهن توهان مينهن جي ڪري تڪليف ۾ هجو يا بيمار هجو تہ پنهنجا هٿيار لاهي رکو ۽ پنهنجي بچاءُ جو سامان تيار رکو. بيشڪ الله ڪافرن جي لاءِ ذلت وارو عذاب تيار ڪري رکيو آهي. پوءِ جڏهن توهان نماز ادا ڪري وٺو تہ الله کي ٻيٺي، ويٺي ۽ پنهنجا پاسا ورائيندي خوب ياد ڪريو ۽ جڏهن اطمينان ٿي وڃي تہ نماز قائم ڪريو. بيشڪ نماز ايمان وارن تي وقت جي پابندي سان فرض ڪئي وئي آهي ۽ قوم جي پٺيان پوڻ ۾ همت نہ هاريو، جيڪڏهن توهان کي ڏک پهچي ٿو تہ انهن کي بہ ڏک پهچي ٿو ۽ توهان الله کان اُها اميد رکو ٿا جيڪا اميد هو نہ ٿا رکن ۽ الله ڄاڻڻ وارو حڪمت وارو آهي. ۱۰۱-۱۰٤

---

دين ۾ جيترا عمل ٻڌايا ويا آهن، چاهي اُهي نماز ۽ زڪوات جي قسم مان هجن يا تبليغ ۽ جهاد جي قسم مان. سيني جو آخري مقصد الله جي ياد آهي. سيني عملن جو اصل مقصد اِهوئي آهي تہ اهڙو انسان تيار ٿئي جيڪو اِهڙي طرح جيئي تہ خدا ان جي يادن ۾ وسندو هجي. زندگيءَ جو هر موڙ ان کي خدا جي ياد ڏيارڻ وارو بڻجي وڃي. انديشي جو موقعو ان کي الله کان ڊيڄاري. اميد جو موقعو ان جي اندر الله جو شوق پيدا ڪري. ان جو ڀروسو الله تي هجي. ان جو توجهہ الله ڏانهن لڳل هجي. جيڪا شيءِ ملي ان کي هو الله جي طرفان آيل سمجهي ۽ جيڪا شيءِ نہ ملي ان کي هو الله جي حڪم جو نتيجو

سمجهي. ان جي پوري هستي الله جي جلال ۽ جمال ۾ غرق هجي.

اهو معاملو ايترو اهم آهي ته جنگ جي نازڪ موقعي تي به ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ نماز ادا ڪرڻ جو حڪم آهي، ته جيئن موت جي ڪناري بيٺل انسان کي ياد ڏياريو وڃي ته اُها اصل شيءِ کهڙي آهي، جيڪا ٻانهي کي هن دنيا مان ڪٽي پنهنجي رب وٽ وڃڻ گهرجي.

ايمان وارن جو ڀروسو سچي جو سچو الله تي هوندو آهي. پر انهي سان گڏ حڪم آهي ته دشمن کان بچاءَ جو ظاهري سامان تيار رکو. ان جي وجهه اِها آهي ته الله جي مدد ظاهري سازو سامان جي پردي ۾ ٿيندي آهي. ايمان وارا جيڪڏهن پنهنجي بچاءَ جو ممڪن انتظام نه ڪن، ته ڄڻ انهن اُها شڪل ئي تيار نه ڪئي جنهن جي ڍانچي ۾ الله جي مدد لهي انهن ڏانهن اچي. مؤمن کي دنيا ۾ جيڪي مصيبتون پيش اينديون آهن، اُهي الله جي ان منصوبي جي قيمت آهن ته هو آزمائش واريون حالتون پيدا ڪري ڏسي ته ڪير سچائي تي قائم رهڻ وارو آهي ۽ ڪير ٻين کي ناحق ستائڻ وارو.

اسلام ۽ غير اسلام جي ڇڪتاڻ ۾ ڪڏهن اسلام وارن کي شڪست ۽ نقصان پهچندو آهي. ان وقت ڪجهه ماڻهو بي همت ٿيڻ لڳندا آهن. پر اهڙن حادثن ۾ به الله جي مصلحت شامل هوندي آهي. اُهي اُن ڪري پيش ايندا آهن ته ٻانهو الله ڏانهن رجوع ۽ توجهه ڪري ۽ ان جي نتيجي ۾ الله جي رحمتن جو مستحق بڻجي وڃي.

اِنَّآ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ لِتَحْكُمَ بَيْنَ النَّاسِ بِمَآ اَرٰىكَ اللّٰهُ ۭ وَ لَا تَكُنْ لِّلْخَآىِٕنِيْنَ خَصِيْمًا ۝١٠٥ وَّ اسْتَغْفِرِ اللّٰهَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ۝١٠٦ وَ لَا تُجَادِلْ عَنِ الَّذِيْنَ يَخْتَانُوْنَ اَنْفُسَهُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ مَنْ كَانَ خَوَّانًا اَثِيْمًا ۝١٠٧ يَّسْتَخْفُوْنَ مِنَ النَّاسِ وَ لَا يَسْتَخْفُوْنَ مِنَ اللّٰهِ وَ هُوَ مَعَهُمْ اِذْ يُبَيِّتُوْنَ مَا لَا يَرْضٰى مِنَ الْقَوْلِ ۭ وَ كَانَ اللّٰهُ بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطًا ۝١٠٨

بيشڪ اسان تو ڏانهن اِهو ڪتاب حق سان نازل ڪيو آهي، ته جيئن تون ماڻهن جي وچ ۾ هن مطابق فيصلو ڪرين جيئن الله توکي ڏيکاريو آهي. ۽ خيانت ڪندڙ ماڻهن جي طرفان جهڳڙو ڪرڻ وارا نه بڻجو ۽ الله کان بخشش گهرو. بيشڪ الله بخشڻ وارو مهربان آهي. ۽ انهن ماڻهن لاءِ تون جهڳڙو نه ڪر جيڪي پنهنجن نفسن سان خيانت ڪري رهيا آهن. الله اهڙي شخص کي پسند نه ٿو ڪري جيڪو خيانت ڪندڙ گنهگار هجي. اُهي ماڻهن کان شرمائين ٿا ۽ الله کان نٿا شرمائين. حالانڪ هو (الله) انهن سان گڏ هوندو آهي جڏهن اهي صلاحون ڪندا آهن اُن ڳالهه لاءِ جنهن کان الله راضي نه آهي ۽ هو جيڪو ڪجهه ڪري رهيا آهن ان کي الله گهيرو ڪندڙ آهي. ١٠٥-١٠٨

---

انسان جي اها ضرورت آهي ته هو گڏجي رهي. اها ئي ضرورت قوم يا جماعت کي وجود ۾ آڻي ٿي. اجتماعيت سان وابسته ٿي هڪ ماڻهو پنهنجي طاقت کي لکين ڀيرا وڌائي ڇڏيندو آهي. پر آهستي آهستي ائين ٿيندو آهي ته جيڪا شيءِ اجتماعي ضرورت جي لاءِ ٿي هئي، اُها اجتمائي مذهب جو درجو حاصل ڪري وٺندي آهي. اُها خودبخود ماڻهن جو مقصد بڻجي ويندي آهي. هاڻي اِهو ذهن

ٻڌجي ويندو آهي تہ ”منهنجي جماعت چاهي اُها صحيح هجي يا غلط. منهنجي قوم چاهي اُها حق تي هجي يا باطل تي“ ان جو نتيجو اهو ٿيندو آهي تہ ماڻهن کي پنهنجو گروهہ اهم ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ ٻيو گروهہ غير اهم. پنهنجي گروهہ جو ماڻهو جيڪڏهن باطل تي آهي تڏهن بہ ان جي حمايت ضروري سمجهي ويندي آهي ۽ ٻئي گروهہ جو ماڻهو جيڪڏهن حق تي هجي تڏهن بہ ان جو ساٿ نہ ڏبو آهي.

ڪنهن گروهہ ۾ اِهو ذهن ٺهي وڃي تہ ان جو مطلب اِهو آهي تہ اُن پنهنجي گروهي مصلحتن ۽ جماعتي تعصبن کي معيار جو درجو ڏي ڇڏيو آهي. حالانڪ صحيح ڳالهہ اِها آهي تہ ماڻهو الله جي هدايت کي معيار جو درجو ڏي ۽ ان جي روشني ۾ پنهنجو رويو مقرر ڪري نہ وري دنياوي مصلحتن ۽ جماعتي تعصبن جي ڪري. هڪ ماڻهو غلطي ڪري تہ ان جو هٽ جهليو وڃي چاهي هو پنهنجو ئي هجي. هڪ ماڻهو صحيح ڳالهہ چئي تہ ان جو ساٿ ڏنو وڃي چاهي اهو غير ئي هجي. ايستائين جو اِهڙو معاملو جنهن ۾ هڪ ڌُر پنهنجي هجي ۽ ٻي ڌر ٻاهر جي، تڏهن بہ معاملي کي پنهنجي ۽ غير جي نظر سان نہ ڏسجي، بلڪ حق ۽ ناحق جي نظر سان ڏسجي ۽ هر ٻي شيءِ جي پرواهہ ڪرڻ کانسواءِ پاڻ کي حق جو طرفدار رکجي.

سچائيءَ کي ڇڏڻ خود پنهنجي پاڻ کي ڇڏڻ جي برابر آهي. جڏهن ماڻهو ٻئي سان خيانت ڪري ٿو تہ سڀ کان پهرين هو پاڻ سان خيانت ڪري چڪو هوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ هر دل ۾ الله پنهنجو هڪ نمائندو ويهاري ڇڏيو آهي. اِهو انسان جو ضمير آهي. جڏهن بہ ماڻهو حق جي خلاف هلڻ جو ارادو ڪري ٿو تہ اِهو اندر ۾ لڪيل حق جو نمائندو هُن کي ٽوڪي ٿو. ان اندر جي آواز کي ماڻهو دٻائيندو آهي ۽ ان کي نظر انداز ڪندو آهي. ان کان پوءِ ئي اِهو ممڪن ٿيندو آهي تہ هو انصاف جي رستي کي ڇڏي ۽ ٻي انصافيءَ جي رستي تي هلي پئي. وڌيڪ اِهو تہ ماڻهو جڏهن ناحق ۾ ڪنهن جو ساٿ ڏي ٿو تہ اِهو انسان جو لحاظ ڪرڻ جي ڪري هوندو آهي. دنياوي تعلقن ۽ مصلحتن جي ڪري هو هڪ شخص کي نظر انداز نہ ٿو ڪري سگهي، ان لاءِ هو ان کي غلط سمجهندي بہ ان جو ساٿي بڻجي وڃي ٿو. پر ناحق جي باوجود هڪ شخص کي نہ ڇڏڻ هميشہ ان قيمت تي هوندو آهي تہ ماڻهو پنهنجي خدا کي ڇڏي ڏي. عين ان وقت جڏهن هو دنيا ۾ هڪ شخص جو ساٿ ڏيندو آهي تہ آخرت ۾ هو خدا جي ساٿ کان محروم ٿي ويندو آهي.

هٰٓاَنْتُمْ هٰٓؤُلَآءِ جٰدَلْتُمْ عَنْهُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۗ فَمَنْ يُّجَادِلُ اللّٰهَ عَنْهُمْ يَوْمَ
الْقِيٰمَةِ اَمْ مَّنْ يَّكُوْنُ عَلَيْهِمْ وَكِيْلًا ﴿١٠٩﴾ وَ مَنْ يَّعْمَلْ سُوْٓءًا اَوْ يَظْلِمْ نَفْسَهٗ ثُمَّ
يَسْتَغْفِرِ اللّٰهَ يَجِدِ اللّٰهَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿١١٠﴾ وَ مَنْ يَّكْسِبْ اِثْمًا فَاِنَّمَا يَكْسِبُهٗ عَلٰى نَفْسِهٖ ؕ
وَ كَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿١١١﴾ وَمَنْ يَّكْسِبْ خَطِيْٓـَٔةً اَوْ اِثْمًا ثُمَّ يَرْمِ بِهٖ بَرِيْٓـًٔا فَقَدِ
ع ١٦ ٨ احْتَمَلَ بُهْتَانًا وَّ اِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿١١٢﴾ وَلَوْ لَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ وَ رَحْمَتُهٗ لَهَمَّتْ طَّآىِٕفَةٌ مِّنْهُمْ
١٣ اَنْ يُّضِلُّوْكَ ؕ وَ مَا يُضِلُّوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَ مَا يَضُرُّوْنَكَ مِنْ شَيْءٍ ؕ وَ اَنْزَلَ اللّٰهُ عَلَيْكَ
الثلثة الْكِتٰبَ وَ الْحِكْمَةَ وَ عَلَّمَكَ مَا لَمْ تَكُنْ تَعْلَمُ ؕ وَ كَانَ فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ عَظِيْمًا ﴿١١٣﴾

توهان اُهي ماڻهو آهيو جن دنيا جي زندگيءَ ۾ انهن لاءِ جهڳڙو ڪيو. پر قيامت جي ڏينهن ڪير انهن جي پاران
الله سان جهڳڙو ڪندو يا ڪير هوندو سندن ڪم ناهڻ وارو. ۽ جيڪو شخص برائي ڪري يا پنهنجي پاڻ تي
ظلم ڪري، پوءِ الله کان بخشش گهري ته هو الله کي بخشڻ وارو رحم ڪرڻ وارو لهندو. ۽ جيڪو شخص ڪو
گناهه ڪري ٿو ته هو پنهنجي ئي حق ۾ ڪندو آهي ۽ الله ڄاڻڻ وارو حڪمت وارو آهي ۽ جيڪو شخص ڪا
غلطي يا گناهه ڪري، پوءِ اُنهيءَ جي تهمت وري ڪنهن بي ڏوهيءَ تي مڙهي ته هن تمام وڏي بهتان ۽ پڌري
گناهه جو بار پنهنجي سِر تي کنيو ۽ جيڪڏهن تو تي الله جو فضل ۽ ان جي رحمت نه هجي ها ته انهن منجهان
هڪ گروهه پڪو ارادو ڪري ورتو هو ته توکي غلط فهمي ۾ وجهي رهندو. حالانڪ اهي پنهنجي پاڻ کي
ئي ڀٽڪائي رهيا آهن. اُهي تنهنجو ڪجهه به بگاڙي نه سگهندا. ۽ الله تو تي ڪتاب ۽ حڪمت نازل ڪئي آهي ۽
توکي اُهو ڪجهه سيکاريو آهي جيڪو تون نه ڄاڻيندو هئين ۽ تو تي الله جو وڏو فضل آهي. ١٠٩-١١٣

---

دنيا آزمائش جي جاءِ آهي. هِتي هر ماڻهوءَ کان غلطي ٿي سگهي ٿي. خدا جي معاملي ۾ به ۽ ماڻهن جي معاملي ۾ به. جڏهن ڪنهن کان ڪا غلطي ٿي وڃي ته صحيح طريقو اِهو آهي ته ماڻهو پنهنجي غلطي تي شرمندو ٿئي. هو الله ڏانهن اچا وڌيڪ توجهه سان ڊوڙي. هو الله کان درخواست ڪري ته هو ان جي غلطي کي معاف ڪري ڇڏي ۽ آئنده جي لاءِ اُن کي نيڪي جي توفيق ڏي. جيڪو شخص اِهڙي طرح الله جي پناهه گهري ته الله به اُن کي پنهنجي پناهه ۾ وٺي ڇڏي ٿو. الله سندس ديني احساس کي جاڳائي اُن کي هن قابل بڻائي ٿو ته پهرين کان وڌيڪ محتاط بڻجي دنيا ۾ رهڻ لڳي.

ٻي صورت اِها آهي ته ماڻهو جڏهن غلطي ڪري ته هو غلطي کي مڃڻ جي لاءِ تيار نه ٿئي، بلڪ پنهنجي غلطي کي صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي وڃي. هو پنهنجن ساٿين جي حمايت سان خود انهن ماڻهن سان وڙهڻ لڳي، جيڪي ان جي غلطي کان اُن کي آگاهه ڪري رهيا آهن. جيڪي ماڻهو پنهنجي غلطي تي آڪڙجن ٿا ۽ جيڪي ماڻهو انهن جو ساٿ ڏين ٿا، اُهي خدا جي ويجهو بدترين مجرم آهن. اُهي پنهنجي غلطي تي پردو وجهڻ لاءِ جن لفظن جو سهارو وٺن ٿا اُهي آخرت ۾ بلڪل بي معنيٰ ثابت ٿيندا ۽ جن حامين جي ڀروسي تي اُهي گهمنڊ ڪري رهيا آهن، نيٺ ڄاڻي وٺندا ته اُهي ڪجهه به اُنهن جي ڪم اچڻ وارا نه هئا.

هڪڙو ماڻهو ڪنهن جو مال چوري ڪري ۽ جڏهن پڪڙجي وڃڻ جو خوف ٿئي ته ان کي ٻئي جي گهر ۾ رکي ڇڏي ته فلاڻي ان کي چوري ڪيو هو. هڪ ماڻهو ڪنهن عورت کي پنهنجي هوس جو نشانو بڻائڻ چاهي ۽ جڏهن اِها پاڪدامن عورت ان جو ساٿ نه ڏي ته هو ڪوڙا قصا گهڙي ان عورت کي بدنام ڪري. ٻه ماڻهو گڏجي هڪ ڪم شروع ڪن. ان ڪانپوءِ هڪ ماڻهو کي محسوس ٿئي ته ان جون ذاتي مصلحتون مجروح ٿي رهيون آهن. هو تدبير ڪري ان ڪم کي بند ڪرائي ڇڏي ۽ ان ڪانپوءِ مشهور ڪري ته ان جي بند ٿيڻ جي ذميداري ٻي ڌر جي مٿان آهي. اِهي سڀ طريقا پنهنجو جرم ٻئي جي مٿان وجهڻ جون ڪوششون آهن. پر اِهڙيون ڪوششون رڳو ماڻهو جي جرم کي وڌائيندڙيون آهن، هو اُن کي بيقصور ثابت نه ٿيون ڪن. الله جو سڀ کان وڏو فضل اِهو آهي ته هو هدايت جا دروازا کولي. هو ماڻهو کي سمجهائي ته غلطي ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي غلطي کي مڃي وٺجي، نه وري بحث ڪري پاڻ کي صحيح ثابت ڪري. ڪنهن سان معاملو پوي ته ساٿين جي ڀروسي تي گهمنڊ نه ڪجي بلڪ الله کان ڊڄي

عاجزيءَ جو انداز اختيار ڪجي. جنهن جي خلاف ڪارروائي ڪرڻ جو موقعو ملي وڃي تہ پاڻ کي ڪامياب سمجهي خوش نہ ٿجي بلڪ الله کان دعا ڪجي تہ هو توهان کي ظالم بڻجڻ کان بچائي.

لَا خَيْرَ فِيْ كَثِيْرٍ مِّنْ نَّجْوٰىهُمْ اِلَّا مَنْ اَمَرَ بِصَدَقَةٍ اَوْ مَعْرُوْفٍ اَوْ اِصْلَاحٍۭ بَيْنَ
النَّاسِ ؕ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ فَسَوْفَ نُؤْتِيْهِ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿١١٤﴾ وَ مَنْ
يُّشَاقِقِ الرَّسُوْلَ مِنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُ الْهُدٰى وَ يَتَّبِعْ غَيْرَ سَبِيْلِ الْمُؤْمِنِيْنَ نُوَلِّهٖ مَا
١٧ ع ١٤ تَوَلّٰى وَ نُصْلِهٖ جَهَنَّمَ ؕ وَ سَآءَتْ مَصِيْرًا ﴿١١٥﴾

انهن جي اڪثر ڳجهين صلاحن ۾ ڪا ڀلائي نہ آهي ڀلائي واري سرگوشي ڳالهہ رڳو اُن جي آهي جيڪو صدقو ڪرڻ جو چوي يا ڪنهن نيڪ ڪم جي لاءِ يا ماڻهن ۾ صلح ڪرائڻ جي لاءِ چوي. جيڪو ماڻهو الله جي خوشي جي لاءِ ائين ڪري تہ اسان ان کي وڏو اجر عطا ڪنداسون. پر جيڪو ماڻهو رسول جي مخالفت ڪندو ۽ مؤمنن جي رستي کانسواءِ ڪنهن ٻئي رستي تي هلندو، حالانڪ ان تي راهہ واضح ٿي چڪي، تہ اسان ان کي انهي طرف هلائينداسون جيڏانهن هو پاڻ ڦرڻ گهرندو ۽ ڪيس جهنم ۾ داخل ڪندا سون ۽ اُها بڇڙي جاءِ آهي. ١١٤-١١٥

---

حق جي خالص دعوت جڏهن بلند ٿيندي آهي تہ اُهو زمين تي خدا جي ساهمي جو قائم ڪرڻ هوندو آهي. ان ساهمي ۾ هر ماڻهو پاڻ کي تُرندو محسوس ڪندو آهي. حق جي دعوت هر ڪنهن جي مٿان ان جو ظاهري پردو لاهي ڇڏي ٿي ۽ هر ماڻهو کي ان مقام تي بيهاري ڇڏي ٿي جتي هو حقيقت ۾ هوندو آهي. اِها صورتحال ايڏي سخت هوندي آهي جو ماڻهن جون رڙيون نڪري وينديون آهن. سڄو ماحول داعي جي لاءِ اهڙو بڻجي ويندو آهي جڻ هو ٽانڊن جي وچ ۾ بيٺل آهي.

جيڪي ماڻهو حق جي دعوت واري ساهمي ۾ پاڻ کي بي وزن محسوس ڪندا آهن، انهن جي اندر ضد ۽ تڪبر جا جذبا جاڳي پوندا آهن. اُهي تيزيءَ سان مخالفت واري رخ تي هلي پوندا آهن. اُهي چاهيندا آهن تہ اهڙي دعوت کي مٿائي ڇڏين، جيڪا سندن حق پرست هئڻ واري حيثيت کي مشڪوڪ ثابت ڪري رهي آهي. انهن جي لاءِ پنهنجي زبان جو استعمال اِهو ٿي ويندو آهي تہ هو دعوت ۽ داعي جي خلاف ڪوڙيون ڳالهيون ڦهلائن، ان کي مغلوب ڪرڻ جا منصوبا ٺاهين. هو ماڻهن کي منع ڪن تہ ان جي مالي مدد نہ ڪريو. جيڪي الله جا ٻانها الله جي رسي جي چوطرف جمع ٿي رهيا هجن، انهن کي بدگمانين ۾ مبتلا ڪري ڇڙوڇڙ ڪن.

ان جي ابتڙ جن ماڻهن پنهنجي فطرت کي زندهہ رکيو آهي، انهن کي الله جي مدد سان اِها توفيق ملندي آهي تہ هو ان دعوت جي اڳيان جهڪي وڃن. هو ان جو ساٿ ڏين، هو پنهنجي زندگي کي ان جي مطابق بدلائڻ شروع ڪن. اهڙن ماڻهن جي لاءِ انهن جي زبان جو استعمال اِهو هوندو آهي تہ هو سرعام سچائي جو اعتراف ڪن. هو ماڻهن کي چون تہ اِهو الله جو ڪم آهي، ان ۾ پنهنجو مال ۽ پنهنجو وقت خرچ ڪريو. ماڻهن کي ترغيب ڏين تہ اُهي پنهنجن قوتن کي نيڪي ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ لڳائين. هو پنهنجن ناراضگين ۽ شڪايتن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. حق جو اعتراف انهن جي اندر جيڪا نفسيات جڳائيندو آهي، ان جو قدرتي نتيجو اهو آهي تہ هو اهڙي قسم جي ڪمن ۾ لڳي وڃن.

الله وٽ اِهو هڪ ناقابل معافي جرم آهي ته حق جي دعوت جي مخالفت ڪئي وڃي ۽ جيڪي ماڻهو حق جي دعوت جي چؤطرف جمع ٿيا هجن، انهن کي پنهنجي دشمنيءَ جي باھ ۾ ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. ٻين اڪثر گناهن ۾ اِهو امڪان رهي ٿو ته اهي انسان جي غفلت يا ڪمزوري جي ڪري ٿيا هجن، پر حق جي دعوت جي مخالفت رڳو سرڪشي جي ڪري ئي ٿيندي آهي ۽ سرڪشي ڪنهن به ماڻهوءَ جو اُهو جرم آهي جنهن کي الله ڪڏهن به معاف نه ٿو ڪري. پر ائين جو هو پنهنجي غلطي جو اقرار ڪري ۽ سرڪشي کان مڙي وڃي. دين جي دعوت جڏهن به پنهنجي خالص شڪل ۾ بلند ٿيندي آهي ته اُهو هڪ خدائي ڪم هوندو آهي جيڪو خدا جي خاص مدد سان شروع ٿيندو آهي. اهڙي ڪم جي مخالفت ڪرڻ جڻ ته خدا جي مقابلي ۾ بيهڻ آهي ۽ ڪير آهي جيڪو خدا جي مقابلي ۾ بيهي ڪامياب ٿئي.

اِنَّ اللّٰهَ لَا یَغۡفِرُ اَنۡ یُّشۡرَكَ بِهٖ وَ یَغۡفِرُ مَا دُوۡنَ ذٰلِكَ لِمَنۡ یَّشَآءُ ؕ وَ مَنۡ یُّشۡرِكۡ بِاللّٰهِ
فَقَدۡ ضَلَّ ضَلٰلًۢا بَعِیۡدًا ﴿١١٦﴾ اِنۡ یَّدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اِلَّاۤ اِنٰثًا ۚ وَ اِنۡ یَّدۡعُوۡنَ اِلَّا شَیۡطٰنًا
وقف لازم مَّرِیۡدًا ﴿١١٧﴾ لَّعَنَهُ اللّٰهُ ۘ وَ قَالَ لَاَتَّخِذَنَّ مِنۡ عِبَادِكَ نَصِیۡبًا مَّفۡرُوۡضًا ﴿١١٨﴾ وَّ لَاُضِلَّنَّهُمۡ وَ
لَاُمَنِّیَنَّهُمۡ وَ لَاٰمُرَنَّهُمۡ فَلَیُبَتِّكُنَّ اٰذَانَ الۡاَنۡعَامِ وَ لَاٰمُرَنَّهُمۡ فَلَیُغَیِّرُنَّ خَلۡقَ اللّٰهِ ؕ وَ
مَنۡ یَّتَّخِذِ الشَّیۡطٰنَ وَلِیًّا مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ فَقَدۡ خَسِرَ خُسۡرَانًا مُّبِیۡنًا ﴿١١٩﴾ یَعِدُهُمۡ وَ
یُمَنِّیۡهِمۡ ؕ وَ مَا یَعِدُهُمُ الشَّیۡطٰنُ اِلَّا غُرُوۡرًا ﴿١٢٠﴾ اُولٰٓئِكَ مَاۡوٰىهُمۡ جَهَنَّمُ ۫ وَ لَا یَجِدُوۡنَ
عَنۡهَا مَحِیۡصًا ﴿١٢١﴾ وَ الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ سَنُدۡخِلُهُمۡ جَنّٰتٍ تَجۡرِیۡ مِنۡ
تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ خٰلِدِیۡنَ فِیۡهَاۤ اَبَدًا ؕ وَعۡدَ اللّٰهِ حَقًّا ؕ وَ مَنۡ اَصۡدَقُ مِنَ اللّٰهِ قِیۡلًا ﴿١٢٢﴾

بيشڪ الله اُن کي ڪڏهن به نه بخشيندو جو ساڻس ڪنهن کي شريڪ ڪيو وڃي ۽ ان کان سواءِ گناهن کي بخشي ڇڏيندو جنهن جي لاءِ چاهيندو. ۽ جنهن به الله سان شريڪ بڻايو اُهو ڀٽڪي پري وڃي پيو. اُهي پڪارين ٿا ديوين کي ۽ اُهي پڪارين ٿا سرڪش شيطان کي. اُن تي الله لعنت ڪئي آهي ۽ شيطان چيو هو ته آئون تنهنجي ٻانهن مان هڪ مقرر حصو وٺي رهندس. آئون انهن کي ڀٽڪائيندس ۽ انهن کي اميدون ڏياريندس ۽ انهن کي حڪم ڪندس ته هو ڍورن جا ڪن چيريندا ۽ انهن کي حڪم ڪندس ته هو الله جي خلقيل صورت کي بدلائيندا ۽ جيڪو ماڻهو الله کان سواءِ شيطان کي پنهنجو دوست بڻائي ته اهو پڌري نقصان ۾ پئجي ويو. اهو ساڻن وعدو ڪري ٿو ۽ کين اميدون ڏياري ٿو ۽ شيطان جا سڀ وعدا دوکي کان سواءِ ٻيو ڪجھ به نه آهن. اهڙن ماڻهن جو ٺڪاڻو جهنم آهي ۽ اُهي اُن کان بچڻ جي ڪا به واٽ نه لهندا ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن نيڪ ڪم ڪيا، انهن کي اسان اهڙن باغن ۾ داخل ڪنداسون جن جي هيٺان نهرون جاري هونديون، جن ۾ هو هميشه رهندا. الله جو وعدو سچو آهي ۽ الله کان وڌيڪ ڪير پنهنجي ڳالھ ۾ سچو ٿي سگهي ٿو. ١١٦-١٢٢

---

جيڪو ماڻهو هڪ الله کي پڪڙي وٺي ته اُن جي عمل جي عمارت خدا جي خوف تي قائم ٿي ويندي آهي. هن کان وقتي غلطيون به ٿينديون آهن. پر اُن کان پوءِ جڏهن هو موٽي ٿو ته ٻيهر حق کي ڳولي لهي ٿو ۽ جيڪو ماڻهو الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي هنڌ اٽڪيل هجي، ته اهو جڻ ته اُن سهاري کان

محروم آهي جيڪو هِن ڪائنات ۾ واحد حقيقي سهارو آهي. بظاهر جيڪڏهن هو ڪو سٺو عمل ڪري تڏهن به اهو خدا جي لاءِ ڪيل عمل نه هوندو. بلڪ اهو هڪ ڏيکاءُ وارو عمل هوندو جيڪو معمولي جهٽڪي سان ئي باطل ثابت ٿي ويندو آهي. اها ئي وجهه آهي ته توحيد سان ڪيل عمل آخرت ۾ پنهنجو نتيجو ڏيکاري ٿو ۽ شرڪ سان ڪيل عمل هن دنيا ۾ برباد ٿي ويندو آهي ۽ اهو آخرت تائين نه ٿو پهچي.

هِن دنيا ۾ ماڻهوءَ جو اصل مقابلو شيطان سان آهي. جيئن ته شيطان وٽ ڪا به طاقت نه آهي. هو ايترو ئي ڪري سگهي ٿو ته ماڻهوءَ کي وعدن جو فريب ڏي ۽ ڪوڙين تمنائن ۾ ڦاسائي ۽ اهڙي طرح ماڻهن کي حق ڪان پري ڪري ڇڏي. شيطان جي گمراهي جون ٻه خاص صورتون آهن. هڪ وهم پرستي ۽ ٻيو خدا جي تخليق ۾ فرق ڪرڻ. وهم پرستي اها آهي ته ڪنهن شيءِ مان اهڙي نتيجي جي اميد ڪري ونجي، جنهن جو ان سان ڪوبه تعلق نه هجي. مثلاً هٿ ٺوڪيل مفروضن يا قياس جي بنياد تي الله کان سواءِ ڪنهن شيءِ کي معاملن ۾ اثرائتو مڃي وٺڻ. حالانڪ هن دنيا ۾ الله کان سواءِ ڪنهن وٽ ڪا طاقت نه آهي. يا زندگي کي عملي طور تي دنيا کي حاصل ڪرڻ ۾ لڳائي ڇڏجي ۽ آخرت جي باري ۾ صرف خوش خيالين جي بنياد تي اميدون قائم ڪري وٺڻ ته اُها خود بخود حاصل ٿي ويندي. شيطان جي ڀٽڪائڻ جو ٻيو طريقو الله جي ٺاهيل نقشي کي بدلائڻ آهي. خدا انسان کي اُن فطرت تي پيدا ڪيو آهي ته هو پنهنجي سموري توجهه الله ڏانهن لڳائي. انهي فطرت کي بدلائڻ اهو آهي ته انسان جي توجهه کي ٻين شين جي خواهش ۾ لڳائي ڇڏجي. يا ڪنهن مقصد کي حاصل ڪرڻ جو جيڪو طريقو فطرت مقرر ڪيو آهي اُن کي بدلائي ڪنهن هٽرادو طريقي سان اُن کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. ڪائنات ۾ جنهن خدائي نقشي جي مطابق انسان کي جهڙي طرح رهڻ گهرجي، انهيءَ نقشي کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏجي.

لَيْسَ بِاَمَانِيِّكُمْ وَ لَاۤ اَمَانِيِّ اَهْلِ الْكِتٰبِ ؕ مَنْ يَّعْمَلْ سُوْٓءًا يُّجْزَ بِهٖ ۙ وَ لَا يَجِدْ لَهٗ مِنْ
دُوْنِ اللّٰهِ وَلِيًّا وَّ لَا نَصِيْرًا ﴿۱۲۳﴾ وَ مَنْ يَّعْمَلْ مِنَ الصّٰلِحٰتِ مِنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَ هُوَ مُؤْمِنٌ
فَاُولٰٓئِكَ يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ وَ لَا يُظْلَمُوْنَ نَقِيْرًا ﴿۱۲۴﴾ وَ مَنْ اَحْسَنُ دِيْنًا مِّمَّنْ اَسْلَمَ وَجْهَهٗ
لِلّٰهِ وَ هُوَ مُحْسِنٌ وَّ اتَّبَعَ مِلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا ؕ وَ اتَّخَذَ اللّٰهُ اِبْرٰهِيْمَ خَلِيْلًا ﴿۱۲۵﴾ وَ لِلّٰهِ
١٨ ع ١٥ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ مُّحِيْطًا ﴿۱۲۶﴾

نه توهان جي خواهشن تي آهي ۽ نه اهل ڪتاب جي خواهشن تي. جيڪو به برو ڪندو ڪيس ان جو بدلو ملندو. ۽ اُهو الله کان سواءِ پنهنجو ڪو حمايتي ۽ مددگار نه لهندو. ۽ جيڪو ماڻهو ڪو نيڪ ڪم ڪندو، چاهي اُهو مرد هجي يا عورت ۽ اُهو مؤمن به هجي، ته اهڙا ماڻهو جنت ۾ داخل ٿيندا. ۽ انهن تي ذرو به ظلم نه ٿيندو. ۽ ان کان بهتر ڪنهن جو دين آهي جنهن پنهنجي پيشاني کي الله جي آڏو جهڪايو ۽ اُهو نيڪي ڪرڻ وارو هجي. ۽ ان ابراهيم جي طريقي جي پيروي ڪئي جو هڪ طرفو هو ۽ الله ابراهيم کي پنهنجو دوست بڻايو هو. ۽ الله جو آهي جيڪو ڪجهه آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو ڪجهه زمين ۾ آهي ۽ الله هر شيءِ کي گهيرو ڪري رکيو آهي. ١٢٣-١٢٦

خدا ۾ آخرت کي مڃڻ وارا ماڻهو جڏهن دنيا پرستيءَ ۾ غرق ٿيندا آهن تہ هو خدا ۽ آخرت جو انڪار ڪري ايئن نہ ڪندا آهن. اُهي رڳو اِهو ڪندا آهن تہ آخرت جي معاملي کي رسمي عقيدي جي خاني ۾ وجهي ڇڏيندا آهن ۽ عملاً پنهنجون سڀ محنتون ۽ سرگرميون دُنيا کي حاصل ڪرڻ ۾ لڳائي ڇڏيندا آهن. دنيا جي عزت ۽ دنيا جي فائدن کي گڏ ڪرڻ جي معاملي ۾ اُهي پوري طرح سنجيده هوندا آهن. انهن جي نظر ۾ دنيا جي عزت ۽ فائدن لاءِ مڪمل جدوجهد ضروري هوندي آهي. پر آخرت جي ڪاميابي کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ انهن کي رڳو خوشفهميون ڪافي نظر اچڻ لڳنديون آهن. ڪنهن بزرگ جي سفارش، ڪنهن وڏي جماعت سان وابستگي، ڪجھ پاڪ ڪلمن جو ورد، اهڙي قسم جي سُتن عملن مان اِها اميد ڪري وٺبي آهي تہ اُهي ماڻهو کي جهنم جي پڙڪندڙ باھ کان بچائيندا ۽ هُن کي جنت جي باغن ۾ داخل ڪندا. پر اهڙين خوش خيالين کي چاهي ڪيترن ئي خوبصورت لفظن ۾ بيان ڪيو ويو هجي، اُهي ڪنهن جي ڪم اچڻ واريون نہ آهن. الله جو نظام انتهائي محڪم نظام آهي. ان وٽ سڀ فيصلا حقيقت جي بنياد تي ٿيندا آهن، نہ وري رڳو خواهشن جي بنياد تي. الله جي عدالت ۾ هر ماڻهو جو پنهنجو عمل ڏنو ويندو ۽ جهڙو جنهن جو عمل هوندو، ٺيڪ ان مطابق ان جو فيصلو ٿيندو. الله جي عدل واري قانون کانسواءِ ڪا بہ ٻي شيءِ نہ آهي جيڪا الله وٽ فيصلي جو بنياد بڻجي سگهي.

الله جو اُهو کهڙو ٻانهو آهي جنهن تي الله پنهنجن رحمتن جي بارش وسائيندو. ان جو هڪ تاريخي مثال ابراهيمؑ آهي. اِهي اُهي ٻانها آهن جيڪي دنيا ۾ الله جا مؤمن بڻجي رهن. جيڪي پاڻ کي مڪمل طور تي پنهنجي رب ڏانهن هڪ طرفو ڪري وٺن. جيڪي پنهنجون وفاداريون پوري طرح الله جي لاءِ خاص ڪري ڇڏين. انهن دنيا ۾ پنهنجن معاملن کي اهڙي طرح قائم ڪيو هجي تہ هو ظلم ۽ سرڪشي کان پري رهڻ وارا ۽ عدل ۽ عاجزي سان زندگي گذارڻ وارا هجن. چهرو ماڻهو جي پوري وجود جو نمائندو آهي. چهرو خدا ڏانهن ڦيرڻ جو مطلب اِهو آهي تہ ماڻهو پنهنجي پوري وجود کي خدا ڏانهن ڦيري ڇڏي.

الله سڄي ڪائنات جو مالڪ آهي. ان وٽ هر قسم جون طاقتون آهن. پر موجوده دنيا ۾ الله پاڻ کي غيب جي پردي ۾ لڪائي ڇڏيو آهي. دنيا ۾ جيتريون بہ خرابيون پيدا ٿينديون آهن، ان ڪري پيدا ٿينديون آهن جو ماڻهو خدا کي نہ ٿو ڏسي. هو سمجهي وٺي ٿو تہ آئون آزاد آهيان جو جيڪو چاهيان سو ڪريان. جيڪڏهن ماڻهو اِهو ڄاڻي وٺي تہ انسان جي اختيار ۾ ڪجھ بہ نہ آهي. ماڻهو سان جيڪو ڪجھ قيامت جي ڏينهن ٿيڻ وارو آهي اُهو اُن تي اڄ ئي ٿي گذري.

وَ يَسْتَفْتُوْنَكَ فِي النِّسَآءِ ؕ قُلِ اللّٰهُ يُفْتِيْكُمْ فِيْهِنَّ ۙ وَ مَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ فِي الْكِتٰبِ فِيْ يَتٰمَى النِّسَآءِ الّٰتِيْ لَا تُؤْتُوْنَهُنَّ مَا كُتِبَ لَهُنَّ وَ تَرْغَبُوْنَ اَنْ تَنْكِحُوْهُنَّ وَ الْمُسْتَضْعَفِيْنَ مِنَ الْوِلْدَانِ ۙ وَ اَنْ تَقُوْمُوْا لِلْيَتٰمٰى بِالْقِسْطِ ؕ وَ مَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِهٖ عَلِيْمًا ﴿١٢٧﴾ وَ اِنِ امْرَاَةٌ خَافَتْ مِنْۢ بَعْلِهَا نُشُوْزًا اَوْ اِعْرَاضًا فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَاۤ اَنْ يُّصْلِحَا بَيْنَهُمَا صُلْحًا ؕ وَ الصُّلْحُ خَيْرٌ ؕ وَ اُحْضِرَتِ الْاَنْفُسُ الشُّحَّ ؕ وَ اِنْ

تُحۡسِنُوۡا وَ تَتَّقُوۡا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ خَبِيۡرًا (١٢٨) وَ لَنۡ تَسۡتَطِيۡعُوۡۤا اَنۡ تَعۡدِلُوۡا بَيۡنَ
النِّسَآءِ وَ لَوۡ حَرَصۡتُمۡ فَلَا تَمِيۡلُوۡا كُلَّ الۡمَيۡلِ فَتَذَرُوۡهَا كَالۡمُعَلَّقَةِ ؕ وَ اِنۡ تُصۡلِحُوۡا وَ
تَتَّقُوۡا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوۡرًا رَّحِيۡمًا (١٢٩) وَ اِنۡ يَّتَفَرَّقَا يُغۡنِ اللّٰهُ كُلًّا مِّنۡ سَعَتِهٖ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ
وَاسِعًا حَكِيۡمًا (١٣٠)

۽ ماڻهو توکان عورتن بابت پڇندا آهن. چئو الله توهان کي انهن بابت حڪم ڏي ٿو ۽ اُهي آيتون بہ جيڪي اوهان کي ڪتاب مان انهن يتيم عورتن بابت پڙهي ٻڌايون وڃن ٿيون، جن کي اوهين سندن مقرر ڪيل نٿا ڏيو ۽ خواهش رکو ٿا تہ انهن کي نڪاح ۾ آڻيو. ۽ جيڪي آيتون بيڪس ٻارن بابت آهن ۽ يتيمن بابت انصاف ڪريو ۽ جيڪا ڀلائي اوهان ڪندؤ الله انهي کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو. ۽ جيڪڏهن ڪنهن عورت کي پنهنجي مڙس کان بدسلوڪي يا منهن موڙڻ جو انديشو هجي تہ ان ۾ ٻنهي لاءِ ڪو حرج نہ آهي تہ پاڻ ۾ صلح ڪري وٺن ۽ صلح بهتر آهي. ۽ لالچ انساني طبيعتن ۾ موجود آهي. ۽ جيڪڏهن اوهان احسان سان پيش ايندؤ ۽ خدا ترسيءَ کان ڪم وٺندؤ تہ توهان جيڪو ڪجهہ ڪريو ٿا الله انهي کان باخبر آهي. ۽ اوهين عورتن کي هرگز برابر نٿا رکي سگهو. توڙي اوهان ائين ڪرڻ بہ چاهيو. تنهنڪري هڪ ئي طرف نہ جهڪي پئو، جو ٻي لٽڪيل ڇڏي ڏيو. ۽ جيڪڏهن پاڻ ۾ نهي هلو ۽ ڊڄو تہ الله بخشڻ وارو مهربان آهي ۽ جيڪڏهن ٻئي جدا ٿين تہ الله هر هڪ کي پنهنجي فضل سان آسودو ڪندو ۽ الله ڪشادگي ڪرڻ وارو حڪمت وارو آهي. ١٢٧-١٣٠

---

پڇڻ وارن ڪجهہ معاشرتي معاملن بابت شرعيت جو حڪم پڇيو هو. ان سلسلي ۾ حڪم ٻڌائيندي خير، انصاف، اصلاح ۽ تقويٰ تي زور ڏنو ويو. ان جي وجهہ اِها آهي تہ ڪوبہ قانون ان وقت پنهنجي مقصد کي پورو ڪندو آهي، جڏهن ان کي عمل ۾ آڻڻ وارو ماڻهو الله کان ڊڄندو هجي ۽ حقيقت ۾ انصاف جو طالب هجي. جيڪڏهن ائين نہ هوندو تہ قانون جي ظاهري تعميل جي باوجود حقيقي بهتري نٿي پيدا ٿي سگهي. سماج جي حقيقت ۾ اصلاح رڳو ان وقت ٿيندي آهي، جڏهن برائي ڪرڻ وارو برائي کان اُن ڪري ڊڄي تہ اصل معاملو خدا سان آهي ۽ برائي ڪرڻ ڪانپوءِ آئون ڪهڙي بہ طرح ان جي پڪڙ کان بچي نہ ٿو سگهان. اهڙي طرح ڀلائي ڪرڻ وارو اِهو سوچي تہ ماڻهن جي طرفان چاهي مون کي ان جو ڪوبہ صلو نہ ملي، پر الله سڀ ڪجهہ ڏسي پيو ۽ هو ضرور مون کي ان جو انعام ڏيندو. جهنم جو انديشو ماڻهو کي ظلم کان روڪي ٿو ۽ جنت جي اميد ان نقصان کي برداشت ڪرڻ جو حوصلو پيدا ڪري ٿي، جيڪو حق پرستي واري زندگي گذارڻ جي نتيجي ۾ لازمي سامهون ايندو آهي.

زال مڙس يا ٻن ماڻهن ۾ اختلاف جي وجهہ هميشہ حرص هوندو آهي. هڪ ڌر ٻي ڌر جو لحاظ ڪرڻ ڪانسواءِ صرف پنهنجا مطالبا پورا ڪرڻ چاهي ٿي. اِها ذهنيت هر هڪ کي ٻئي کان غير مطمئن بڻائي ڇڏي ٿي. صحيح مزاج اِهو آهي تہ ٻئي ڌريون هڪٻئي جي ڪمزورين کي سمجهن ۽ هڪٻئي جي رعايت ڪندي ڪنهن گڏيل ناهہ تي پهچڻ جي ڪوشش ڪن. الله جو مطالبو جهڙيءَ طرح اهو آهي تہ هڪ انسان ٻئي انسان جي رعايت ڪري، اِهڙي طرح الله بہ پنهنجن ٻانهن سان آخري حد تائين رعايت فرمائي ٿو. الله وٽ ماڻهو جي پڪڙ ان جي فطري ڪمزورين تي نہ آهي، بلڪ اُنهي جي ان سرڪشيءَ تي آهي، جيڪا اُهو ڄاڻي واڻي ڪندو آهي. جيڪڏهن ماڻهو الله کان ڊڄي ۽ دل ۾ اصلاح جو جذبو رکي

تہ اُهو درست نيت سان جيڪو ڪجھ ڪندو، ان جي لاءِ هو الله وٽ معافي جي قابل قرار ڏنو ويندو. انهي سان گڏ ماڻهو کي ڪڏهن بہ ان غلط فهمي ۾ نہ پوڻ کپي تہ هو ٻئي جو ڪم ڻاهڻ وارو آهي. هر ڪنهن جو ڪم ڻاهڻ وارو صرف الله آهي، چاهي ڪهڙي بہ قسم جون حالتون هجن.

وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ وَلَقَدْ وَصَّيْنَا الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَ اِيَّاكُمْ اَنِ اتَّقُوا اللّٰهَ ۭ وَاِنْ تَكْفُرُوْا فَاِنَّ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ غَنِيًّا حَمِيْدًا ﴿١٣١﴾ وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿١٣٢﴾ اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ اَيُّهَا النَّاسُ وَيَاْتِ بِاٰخَرِيْنَ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰي ذٰلِكَ قَدِيْرًا ﴿١٣٣﴾ مَنْ كَانَ يُرِيْدُ
١٩ ع ١٦ ثَوَابَ الدُّنْيَا فَعِنْدَ اللّٰهِ ثَوَابُ الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ سَمِيْعًۢا بَصِيْرًا ﴿١٣٤﴾ع

۽ الله جو آهي جيڪو ڪجھ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو ڪجھ زمين ۾ آهي. ۽ اسان حڪم ڏنو آهي انهن ماڻهن کي جن کي اوهان کان اڳ ڪتاب ڏنو ويو هو ۽ اوهان کي بہ تہ الله کان ڊڄو. ۽ جيڪڏهن اوهان نہ مڃو تہ الله جو ئي آهي جيڪو ڪجھ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو ڪجھ زمين ۾ آهي ۽ الله بي پرواھ آهي ساراهيل آهي. ۽ الله جو ئي آهي جيڪو ڪجھ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو ڪجھ زمين ۾ آهي ۽ ڀروسي جي لاءِ الله ڪافي آهي. اي انسانو! جيڪڏهن هو گهري تہ اوهان کي هٽائي ۽ ٻين کي آڻي. ۽ انهي تي الله قادر آهي. جيڪو ماڻهو دنيا جو ثواب گهري ٿو تہ الله وٽ دنيا جو ثواب بہ آهي ۽ آخرت جو ثواب بہ. ۽ الله ٻڌڻ وارو ڏسڻ وارو آهي. ١٣١-١٣٤

---

دنيا ۾ ماڻهو کي جيڪا صالح زندگي اختيار ڪرڻي آهي، هو اُن کي انهي وقت اختيار ڪري سگهي ٿو جڏهن هو اندران الله وارو بڻجي ويو هجي. الله جو ڪائنات جي مالڪ جي حيثيت سان ملي وڃڻ، رڳو الله کان ڊڄڻ ۽ رڳو الله تي ڀروسو ڪرڻ، آخرت کي اصل سمجهي اِن ڏانهن توجھ ڪرڻ، اهي ئي اُهي شيون آهن جيڪي ڪنهن ماڻهو کي اُن قابل بڻائن ٿيون جو هو دنيا ۾ اُها صالح زندگي گذاري جيڪا الله کي گهربل آهي ۽ جيڪا هُن کي آخرت واري دنيا ۾ ڪامياب ڪرڻ واري آهي. انهي لاءِ نبين جي تعليم ۾ هميشہ ساڳي ڳالھ تي سيني کان وڌيڪ زور ڏنو ويو آهي.

موجوده دنيا آزمائش جي لاءِ آهي. هتي هر ماڻهو کي آزمائي ڏنو پيو وڃي تہ ڪير چڱو آهي ۽ ڪير بُرو. اُن مقصد لاءِ موجوده دنيا کي اهڙي ڍنگ تي ٺاهيو ويو آهي تہ هتي ماڻهوءَ کي هر قسم جي عمل جي آزادي هُجي، ايستائين جو اُن کي اِهو موقعو بہ حاصل هجي تہ هو پنهنجي ڪاري کي اڇو چئي سگهي ۽ پنهنجي بي عملي کي عمل جو نالو ڏئي ڇڏي. هتي هڪ ماڻهو جي لاءِ ممڪن آهي تہ هو براين ۾ مبتلا هجي، پر اُن کي بيان ڪرڻ جي لاءِ هُن کي بهترين لفظ ملي وڃن. هتي اِهو ممڪن آهي تہ ماڻهو هڪ پڌري سچائي جو انڪار ڪري ڇڏي ۽ پنهنجي انڪار جي هڪ خوبصورت وجھ تلاش ڪري وٺي. هتي اِهو ممڪن آهي تہ ماڻهو شان و شوڪت ۽ شهرت جي طلب، لالچ ۽ مصلحت پرستي تي پنهنجي زندگي جي تعمير ڪري ۽ اُن جي باوجود بہ هو ماڻهن کي اِهو يقين ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي تہ هو خالص حق لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. هتي اِهو ممڪن آهي تہ هڪ ماڻهو خدا جي دين کي پنهنجي دنياوي ۽ مادي مقصدن کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو بڻائي ۽ ان هوندي بہ هو دنيا ۾ ترقي ڪندو رهي.

هتي اِهو ممڪن آهي تہ ماڻهو حلال کي ڇڏي حرام جا ذريعا اختيار ڪري. انصاف کي ڇڏي ظلم واري رستي تي هلي ۽ ان هوندي بہ اُن جو ڪو هٿ جهلڻ وارو نہ هجي. انهن مختلف موقعن تي ماڻهو چاهي تہ پاڻ کي حق ۽ صداقت جو پابند بڻائي وٺي ۽ چاهي تہ سرڪشي ۽ بي انصافي ڏانهن هلي پوي. حقيقت اها آهي تہ دين جي سيني حڪمن ۾ اهميت جي شيءِ اها آهي تہ ماڻهو الله کان ڊڄي ٿو يا نہ. اهو رڳو الله جو ڊپ آهي جيڪو اُن کي ذميداري واري زندگي گذارڻ جي قابل بڻائي ٿو. جيڪڏهن الله جو ڊپ نہ هجي تہ هڪ اهڙي دنيا ۾ ڪنهن کي باطل کان روڪڻ واري ڪهڙي شيءِ ٿي سگهي ٿي، جتي باطل کي بہ حق جي روپ ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو ۽ جتي بي انصافي جي بنياد تي بہ وڏيون وڏيون ترقيون حاصل ڪري سگهجن ٿيون. جتي هر ظالم کي پنهنجي ظلم کي لڪائڻ جي لاءِ خوبصورت لفظ ملي وڃن ٿا.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا كُوۡنُوۡا قَوّٰمِيۡنَ بِالۡقِسۡطِ شُهَدَآءَ لِلّٰهِ وَلَوۡ عَلٰٓى اَنۡفُسِكُمۡ اَوِ الۡوَالِدَيۡنِ وَالۡاَقۡرَبِيۡنَ ۚ اِنۡ يَّكُنۡ غَنِيًّا اَوۡ فَقِيۡرًا فَاللّٰهُ اَوۡلٰى بِهِمَا ۖ فَلَا تَتَّبِعُوا الۡهَوٰٓى اَنۡ تَعۡدِلُوۡا ۚ وَاِنۡ تَلۡوٗۤا اَوۡ تُعۡرِضُوۡا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ خَبِيۡرًا ﴿١٣٥﴾

اي ايمان وارؤ! انصاف تي چڱي طرح قائم رهڻ وارا ۽ الله جي لاءِ شاهدي ڏيڻ وارا ٿيو، چاهي اُها توهان جي يا توهان جي ماءُ پيءُ يا عزيزن جي خلاف هجي. جيڪڏهن ڪو مالدار هجي يا محتاج هجي تہ الله ٻنهي جو توهان کان وڌيڪ خير خواهه آهي. تنهن ڪري توهان خواهش جي پيروي نہ ڪريو جو حق کان هٽي وڃو. ۽ جيڪڏهن توهان ڏنگائي ڪندؤ يا منهن موڙيندؤ تہ توهان جيڪي ڪجهہ ڪري رهيا آهيو الله ان کان باخبر آهي. ١٣٥

---

اجتماعي زندگي ۾ ائين ٿيندو رهندو آهي تہ ماڻهوءَ جي سامهون اهڙو معاملو ايندو آهي، جنهن ۾ هڪ رستو پنهنجي مفاد ۽ خواهش وارو هوندو آهي ۽ ٻيو حق ۽ انصاف وارو. جيڪي ماڻهو الله کان غافل هوندا آهن، جن کي يقين نہ هوندو تہ الله هر وقت انهن کي ڏسي رهيو آهي، اُهي اهڙن موقعن تي پنهنجن خواهشن جي رخ تي هلي پوندا آهن. هو ان کي ڪاميابي سمجهندا آهن تہ حق جي پرواهہ نہ ڪن ۽ معاملي کي پنهنجي مفاد ۽ پنهنجي مصلحت مطابق طَي ڪن. پر جيڪي ماڻهو الله کان ڊڄندا آهن جيڪي الله کي پنهنجو نگهبان سمجهندا آهن، اُهي هميشہ انصاف جي پهلوءَ کي ڏسندا آهن ۽ اُهوئي ڪندا آهن جيڪا حق ۽ انصاف جي تقاضا هجي. انهن جي ڪوشش هميشہ اِها هوندي آهي تہ انهن کي موت اچي تہ اِهڙي حال ۾ اچي جو انهن ڪنهن سان بہ بي انصافي نہ ڪئي هجي، انهن پنهنجي پاڻ کي پوري طرح انصاف ۽ عدل تي قائم رکيو هجي.

انهن جو انصاف پسندي وارو جذبو ايترو تہ وڌيل هوندو آهي جو انهن جي لاءِ ناممڪن ٿي ويندو آهي جو هو انصاف کان هٽيل ڪو رويو ڏسن ۽ ان کي برداشت ڪري وٺن. جڏهن بہ ڪو اِهڙو معاملو سامهون ايندو آهي تہ هڪ شخص ٻئي سان ناانصافي ڪري رهيو هجي، تہ هو اهڙي موقعي تي حق جو اعلان ڪرڻ کان نٽا مڙن. جيڪڏهن انصاف جو اعلان ڪرڻ ۾ سندن ويجهي تعلق وارن کي رنج ۽ نقصان ٿيندو هجي يا انهن جي پنهنجن مصلحتن جو نقصان ٿيندو هجي، تڏهن بہ هو اُهوئي چوندا آهن جيڪو انصاف موجب انهن کي چوڻ کپي. سندن زبان ڪلندي آهي تہ الله جي لاءِ ڪلندي آهي نہ وري ڪنهن ٻي

شيءِ جي لاءِ. اهڙي طرح اِها ڳالھ بہ غلط آهي تہ معاملي واري ڌُر طاقتور هجي تہ ان کي ان جو حق ڏنو وڃي ۽ جيڪڏهن معاملي واري ڌر ڪمزور هجي تہ ان جو حق ان کي نہ ڏنو وڃي. مؤمن اُهو آهي، جيڪو هر ماڻهوءَ سان انصاف ڪري، چاهي اُهو طاقتور هجي يا ڪمزور.

جڏهن ڪو ماڻهو ناانصافيءَ جو ساٿ ڏيندو آهي تہ هو اِهو چئي ايئن نہ ٿو ڪري تہ آئون نا انصافي ڪرڻ واري جو ساٿي آهيان، بلڪ هو پنهنجي نا انصافي کي انصاف جو رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اهڙي موقعي تي هر ماڻهو پن مان ڪو هڪ رويو اختيار ڪندو آهي يا تہ هو ايئن ڪندو آهي جو ڳالھ کي بدلائي ڇڏيندو آهي. هو معاملي جي نوعيت کي اِهڙن لفظن ۾ بيان ڪندو آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي تہ اِهو ناانصافي جو معاملو نہ آهي، بلڪ ٺيڪ انصاف جو معاملو آهي، جنهن سان زيادتي ڪئي پئي وڃي اُهو انهي جو مستحق آهي تہ ان سان ايئن ئي ڪيو وڃي. ٻي صورت اِها آهي تہ ماڻهو خاموشي اختيار ڪري وٺي. اِهو ڄاڻندي تہ هتي نا انصافي ڪئي پئي وڃي، هو نتائي پاسو وٺي وڃي ۽ جيڪا چوڻ جي ڳالھ آهي ان کي زبان تي نہ آڻي. اِهڙي قسم جو طرز عمل ثابت ڪري ٿو تہ ماڻهو پنهنجي مٿان الله کي نگهبان نہ ٿو سمجهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ الْكِتٰبِ الَّذِيْ نَزَّلَ عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَ الْكِتٰبِ
الَّذِيْٓ اَنْزَلَ مِنْ قَبْلُ ؕ وَ مَنْ يَّكْفُرْ بِاللّٰهِ وَ مَلٰٓىِٕكَتِهٖ وَ كُتُبِهٖ وَ رُسُلِهٖ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ
فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًۢا بَعِيْدًا ﴿١٣٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا ثُمَّ اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا ثُمَّ
ازْدَادُوْا كُفْرًا لَّمْ يَكُنِ اللّٰهُ لِيَغْفِرَ لَهُمْ وَ لَا لِيَهْدِيَهُمْ سَبِيْلًا ﴿١٣٧﴾ بَشِّرِ الْمُنٰفِقِيْنَ بِاَنَّ
لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمَا ﴿١٣٨﴾ الَّذِيْنَ يَتَّخِذُوْنَ الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ؕ
اَيَبْتَغُوْنَ عِنْدَهُمُ الْعِزَّةَ فَاِنَّ الْعِزَّةَ لِلّٰهِ جَمِيْعًا ﴿١٣٩﴾

اي ايمان وارؤ! ايمان آڻيو الله تي ۽ سندس رسول تي ۽ ان ڪتاب تي جيڪو هن نازل ڪيو آهي پنهنجي رسول تي ۽ ان ڪتاب تي جيڪو اڳ ۾ نازل ڪيو ويو. ۽ جيڪو ماڻهو انڪار ڪري ٿو الله جو ۽ ان جي فرشتن جو ۽ ان جي ڪتابن جو ۽ ان جي رسولن جو ۽ آخرت جي ڏينهن جو تہ هو ڀٽڪي پري وڃي پيو. بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو پوءِ وري انڪار ڪيو، وري ايمان آندائون وري انڪار ڪيائون، پوءِ ويتر انڪار ۾ وڌندا ويا تہ الله انهن کي هرگز معاف نہ ڪندو ۽ نہ وري کين سڌو رستو ڏيکاريندو. منافقن کي خوشخبري ڏئي ڇڏ تہ انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي. اُهي ماڻهو جيڪي مؤمنن کي ڇڏي منڪرن کي دوست بڻائيندا آهن، ڇا هو انهن وٽ عزت تلاش ڪري رهيا آهن، حالانڪ عزت تہ سڀ الله جي لاءِ آهي. ١٣٦-١٣٩

"ايمان وارؤ ايمان آڻيو" اِهو ايئن ئي آهي، جيئن چئجي تہ مسلمانو مسلمان بڻجو. پاڻ کي مسلمان چوڻ يا مسلمان سمجهڻ ان ڳالھ جي لاءِ ڪافي نہ آهي تہ ماڻهو الله جي نظر ۾ بہ مسلمان هجي. الله وٽ رڳو اُهو ماڻهو مسلمان قرار ڏنو ويندو جيڪو الله کي اِهڙي طرح لهي تہ اُهوئي اُن جي يقين ۽ اعتماد جو مرڪز بڻجي وڃي. جيڪو رسول کي اِهڙي طرح مڃي تہ هر ٻي رهنمائي ان جي لاءِ ٻي حقيقت ٿي وڃي. جيڪو آسماني ڪتاب کي اِهڙي طرح اپنائي جو ان جي سوچ ۽ جذبا پوري طرح ان جي تابع ٿي وڃن. جيڪو

فرشتن جي عقيدي کي اِهڙي طرح دل ۾ ويهاري جو ان کي محسوس ٿيڻ لڳي ته اُن جي ساڄي کاٻي هر وقت خدا جا چوڪيدار بيٺا آهن. جيڪو آخرت جو اهڙي طرح اقرار ڪري جو هو پنهنجي هر قول ۽ عمل کي آخرت جي ساهمي ۾ جانچڻ لڳي. جيڪو ماڻهو اِهڙي طرح مؤمن بڻجي اهو ئي الله وٽ ان رستي تي آهي جيڪو هدايت ۽ ڪاميابي جو رستو آهي ۽ جيڪو ماڻهو اهڙي طرح مؤمن نه بڻجي سگهي، اُهو هڪ ڀٽڪيل انسان آهي، چاهي اُهو پاڻ کي ڪيترو ئي مؤمن ۽ مسلم سمجهندو هجي.

ميڃڻ ۽ نه ميڃڻ جو اهو معرڪو ماڻهو جي زندگي ۾ هر وقت جاري رهندو آهي. جڏهن به ڪو معاملو پيش اچي ٿو ته ماڻهو جو ذهن ين مان هڪڙي رخ تي هلي پوندو آهي يا خواهشن ڏانهن يا حق جا تقاضا پورا ڪرڻ جي طرف. جيڪڏهن معاملي جي وقت ماڻهو جي سوچ ۽ جذبا خواهشن جي رخ تي هلي پون، ته ڄڻ ايمان آڻڻ واري ايمان کان انڪار ڪيو. ان جي ابتڙ جيڪڏهن هو پنهنجي سوچ ۽ جذبن کي حق جو پابند بڻائي وٺي، ته ڄڻ ايمان آڻڻ واري ايمان آندو. ماڻهو مسلمان بڻجي دنيا جي زندگي ۾ داخل ٿيندو آهي، ان ڪانپوءِ هڪ حق ڳالهه ان جي سامهون ايندي آهي. هاڻي هڪ ماڻهو اُهو آهي جيڪو اِهڙي موقعي تي عاجزي وارو رويو اختيار ڪري ۽ حق جو اعتراف ڪري وٺي، ٻيو ماڻهو اُهو آهي جنهن جي اندر تڪبر جي نفسيات جاڳي پوي ۽ هو حق کي ٺڪرائي ڇڏي. پهرين صورت ايمان جي صورت آهي ۽ ٻي صورت ايمان کان انڪار ڪرڻ واري. جيڪو ماڻهو سچو مؤمن نه هوندو، اُهو دنيا جي عزت ۽ شان و شوڪت کي پسند ڪندو آهي. ان ڪري اُهو انهن ماڻهن ڏانهن جهڪي پوندو آهي، جن سان لاڳاپي جي ڪري ان جي عزت ۽ شان ۾ اضافو ٿئي، چاهي اُهي اهل باطل هجن. ان کي انهن ماڻهن سان دلچسپي نه هوندي آهي جن سان لاڳاپي جي ڪري ان جي عزت ۽ شان ۾ اضافو نه ٿئي، چاهي اُهي حق وارا ڇو نه هجن.

وَ قَدْ نَزَّلَ عَلَيْكُمْ فِي الْكِتٰبِ اَنْ اِذَا سَمِعْتُمْ اٰيٰتِ اللّٰهِ يُكْفَرُ بِهَا وَ يُسْتَهْزَاُ بِهَا فَلَا
تَقْعُدُوْا مَعَهُمْ حَتّٰى يَخُوْضُوْا فِيْ حَدِيْثٍ غَيْرِهٖٓ ۖ اِنَّكُمْ اِذًا مِّثْلُهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ جَامِعُ
الْمُنٰفِقِيْنَ وَالْكٰفِرِيْنَ فِيْ جَهَنَّمَ جَمِيْعَا ۙ﴿۱۴۰﴾ اِلَّذِيْنَ يَتَرَبَّصُوْنَ بِكُمْ ۚ فَاِنْ كَانَ لَكُمْ
فَتْحٌ مِّنَ اللّٰهِ قَالُوْٓا اَلَمْ نَكُنْ مَّعَكُمْ ۖ وَ اِنْ كَانَ لِلْكٰفِرِيْنَ نَصِيْبٌ ۙ قَالُوْٓا اَلَمْ
نَسْتَحْوِذْ عَلَيْكُمْ وَ نَمْنَعْكُمْ مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ؕ فَاللّٰهُ يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ وَ لَنْ
ع ١٧ يَّجْعَلَ اللّٰهُ لِلْكٰفِرِيْنَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ سَبِيْلًا ﴿۱۴۱﴾

۽ الله ڪتاب ۾ توهان تي هي حڪم نازل ڪري چڪو آهي ته جڏهن به توهان ٻڌو ته الله جي نشانين جو انڪار ڪيو پيو وڃي ۽ انهن تي ٺٺول ڪئي پئي وڃي ته توهان انهن وٽ نه ويهو، جيستائين هو ٻيءَ ڪنهن ڳالهه ۾ مشغول ٿي وڃن. نه ته توهان به انهن جهڙا ٿي پوندؤ. الله منافقن کي ۽ ڪافرن کي جهنم ۾ هڪ جاءِ تي گڏ ڪرڻ وارو آهي. اِهي منافق اوهان لاءِ انتظار ۾ رهندا آهن. جيڪڏهن اوهان کي الله جي طرفان ڪا فتح حاصل ٿيندي آهي ته چوندا آهن ڇا اسان اوهان سان گڏ نه هئاسون. ۽ جيڪڏهن منڪرن کي ڪو حصو ملي وڃي ته انهن کي چون ٿا ته ڇا اسان توهان جي خلاف وڙهڻ تي قادر نه هئاسون ۽ پوءِ به اسان توهان کي مسلمانن کان

بچايو. بس الله ئي توهان ماڻهن جي وچ ۾ قيامت جي ڏينهن فيصلو ڪندو ۽ الله هرگز ڪافرن کي مؤمنن تي غالب ٿيڻ جو رستو نہ ڏيندو. ١٤٠-١٤١

---

الله جي پڪار جڏهن بہ ڪنهن انساني گروهہ ۾ بلند ٿيندي آهي تہ ايترن مضبوط بنيادن تي بلند ٿيندي آهي جو دليل جي ذريعي ان کي رد ڪرڻ ڪنهن جي لاءِ ممڪن نہ ٿو رهي. ان ڪري جيڪي ماڻهو ان کي مڃڻ نہ ٿا چاهين، اهي ان جو مذاق اڏائي ان کي بي وزن ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيڪي ماڻهو ائين ڪن، اهي پنهنجي رويي سان اُهو ٻڌائي رهيا آهن تہ اُهي حق جي معاملي کي ڪو سنجيده معاملو نہ ٿا سمجهن ۽ جڏهن ماڻهو ڪنهن معاملي ۾ سنجيده نہ هجي تہ ان وقت اُن سان بحث ڪرڻ بلڪل بيڪار هوندو آهي. اهڙي موقعي تي صحيح طريقو اُهو آهي تہ ماڻهو چپ ٿي وڃي ۽ ان وقت جو انتظار ڪري جڏهن گفتگو جي موضوع بدلجي وڃي ۽ ٻڌڻ وارو ان قابل ٿي وڃي تہ هو ڳالهہ کي ٻڌي سگهي. جنهن مجلس ۾ خدا جي دعوت جو مذاق اڏايو وڃي، اتي ويهڻ اُهو ثابت ڪري ٿو تہ ماڻهو حق جي معاملي ۾ غيرتمند نہ آهي.

منافق اُن جي پرواهہ نہ ٿو ڪري تہ اصولن جي تقاضا ڇا آهي، بلڪ جنهن شيءِ ۾ فائدو نظر اچي ٿو، ان طرف جهڪي ويندو آهي. هو پنهنجي پاڻ کي ان جماعت سان جوڙيندو آهي، جنهن جو ساٿ ڏيڻ ۾ اُن جا دنياوي حوصلا پورا ٿيندا هجن، چاهي اُها ايمان وارن جي جماعت هجي يا منڪرن جي جماعت. هو جنهن مجلس ۾ ويندو آهي انهن کي خوش ڪرڻ واريون ڳالهيون ڪندو آهي. مصلحتن جي ڪري ڪڏهن هن کي سچي ايمان وارن سان شامل ٿيڻو پوي، تڏهن بہ هو دل سان انهن جو خير خواهہ نہ هوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ سچي ايمان واري جو وجود ڪنهن سماج ۾ حق جو پيمانو بڻجي ويندو آهي. ان ڪري جيڪي ماڻهو ڪوڙي دينداري تي بيٺا هجن تہ اُهي چاهين ٿا تہ اهڙا پيمانا ٽٽي وڃن جيڪي انهن جي دينداري کي مشڪوڪ ثابت ڪرڻ وارا آهن. پر ايمان وارن جا بدخواهہ جيڪو زور ڏيکاري سگهن ٿا، اهو هن ئي دنيا ۾ ڏيکاري سگهن ٿا. آخرت ۾ اُهي انهن جي خلاف ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندا.

منافق اُهو آهي جيڪو ظاهر ۾ دينار هجي، پر اندر ۾ بي دين هجي. اِهڙي ماڻهو جو انجام ڪافرن سان گڏ ٿيڻ ٻڌائي ٿو تہ الله وٽ ظاهري دينداري ۽ پڌري بي ديني ۾ ڪو فرق نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ ظاهر ۾ ڇاهي ٻئي مختلف نظر اچن، پر باطن جي سطح تي ٻئي هڪ هوندا آهن ۽ الله وٽ اعتبار باطن جو آهي نہ وري ظاهر جو.

اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ يُخٰدِعُوْنَ اللّٰهَ وَ هُوَ خَادِعُهُمْ ۚ وَ اِذَا قَامُوْۤا اِلَى الصَّلٰوةِ قَامُوْا كُسَالٰى ۙ
يُرَآءُوْنَ النَّاسَ وَ لَا يَذْكُرُوْنَ اللّٰهَ اِلَّا قَلِيْلًا ۙ﴿۱۴۲﴾ مُّذَبْذَبِيْنَ بَيْنَ ذٰلِكَ ۖۗ لَاۤ اِلٰى هٰۤؤُلَآءِ وَ
لَاۤ اِلٰى هٰۤؤُلَآءِ ؕ وَ مَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ سَبِيْلًا ﴿۱۴۳﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا
الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ؕ اَتُرِيْدُوْنَ اَنْ تَجْعَلُوْا لِلّٰهِ عَلَيْكُمْ سُلْطٰنًا
مُّبِيْنًا ﴿۱۴۴﴾ اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ فِي الدَّرْكِ الْاَسْفَلِ مِنَ النَّارِ ۚ وَ لَنْ تَجِدَ لَهُمْ نَصِيْرًا ﴿۱۴۵﴾ اِلَّا

الَّذِيْنَ تَابُوْا وَ اَصْلَحُوْا وَ اعْتَصَمُوْا بِاللّٰهِ وَ اَخْلَصُوْا دِيْنَهُمْ لِلّٰهِ فَاُولٰٓئِكَ مَعَ
الْمُؤْمِنِيْنَ ؕ وَ سَوْفَ يُؤْتِ اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ اَجْرًا عَظِيْمًا (١٤٦) مَا يَفْعَلُ اللّٰهُ بِعَذَابِكُمْ اِنْ
شَكَرْتُمْ وَ اٰمَنْتُمْ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ شَاكِرًا عَلِيْمًا (١٤٧)

منافق الله کي دوکو ڏئي رهيا آهن. حالانڪ الله ئي انهن ڪي دوکي ۾ وجهي ڇڏيو آهي. ۽ جڏهن اهي نماز لاءِ اٿن ٿا تہ سُستي سان اٿن ٿا رڳو ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ. ۽ اُهي الله کي ٿورڙو ئي ياد ڪندا آهن. اُهي ٻنهي جي وچ ۾ لٽڪي رهيا آهن، نہ هيڏانهن جا آهن ۽ نہ هوڏانهن جا. ۽ جنهن کي الله ڀٽڪائي، تہ تون اُن لاءِ ڪا راهہ نہ لهندين. اي ايمان وارؤ! مؤمنن کي ڇڏي منڪرن کي پنهنجو دوست نہ بڻايو. ڇا اوهين گهرو ٿا تہ پاڻ تي الله جي پڌري حجت قائم ڪريو. بيشڪ منافق دوزخ جي سڀ کان هيٺئين طبقي ۾ هوندا ۽ تون ڪنهن کي بہ سندن مددگار نہ ڏسندين. البت جيڪي ماڻهو توبہ ڪن ۽ پنهنجي اصلاح ڪن ۽ الله کي مضبوطي سان جهلين ۽ پنهنجي دين کي الله لاءِ خالص ڪري وٺن، تہ اهڙا ماڻهو ايمان وارن سان گڏ هوندا ۽ الله ايمان وارن کي وڏو اجر ڏيندو. الله اوهان کي عذاب ڏئي ڇا ڪندو، جيڪڏهن اوهين شڪر ڪريو ۽ ايمان آڻيو. الله وڏو قدردان آهي، سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ وارو آهي. ١٤٢-١٤٧

---

جن ماڻهن پنهنجو پاڻ الله جي حوالي نہ ڪيو هجي، سي پاڻ کي دنياوي مفادن جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهن. دنياوي مفاد جنهن سان وابستہ هجي، اُهي انهي سان گڏ ٿي ويندا آهن، چاهي اُهو ديندار هجي يا بي دين. اِهڙا ماڻهو زبان سان اسلام جا لفظ ڳالهائيندا آهن ۽ ڪجهہ اسلامي عمل بہ ظاهري حد تائين ادا ڪندا رهندا آهن. پر انهن جو عمل الله جي لاءِ نہ هوندو آهي، بلڪ ماڻهن جي نظر ۾ مسلمان ڏسڻ ۾ اچڻ جي لاءِ هوندو آهي. انهن جو اصل دين مفاد پرستي هوندو آهي، پر ماڻهن جي اڳيان هو پاڻ کي خدا پرست ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهڙا ماڻهو ڄڻ تہ خدا کي دوکو ڏئي رهيا آهن. اُهي خدا وارا نہ هوندي بہ پاڻ کي خدا وارو ثابت ڪرڻ چاهين ٿا. اُهي اسلام کي سچو دين سمجهندا آهن. ان جي باوجود پنهنجي مفادن کي ڇڏڻ نہ ٿا چاهين. ان ڪري اُهي ٻنهي جي وچ ۾ لٽڪيل رهندا آهن، نہ پوري طرح پنهنجي عقيدي سان هوندا آهن ۽ نہ وري پوري طرح پنهنجي مفاد سان. اهڙا ماڻهوا الله جي مدد کان محروم رهندا آهن، ڇاڪاڻ تہ الله جي مدد جو مستحق بڻجڻ جي لاءِ الله جي رستي تي ثابت قدم رهڻ ضروري آهي ۽ اهائي شيءِ انهن وٽ نہ هوندي آهي. حق کي مڃڻ وارا ۽ حق جو انڪار ڪرڻ وارا جڏهن ڌار ڌار ٿي ويا هجن، تہ اهڙي حالت ۾ حق جي انڪار ڪرڻ وارن جو ساٿ ڏيڻ پنهنجي خلاف خدا جي پڌري حجت قائم ڪرڻ آهي. اِها ڪنهن جي لاءِ سزا جو مستحق هئڻ جو اهڙو ثبوت آهي، جنهن ڪانپوءِ ٻي ڪنهن ثبوت جي ضرورت نہ آهي.

اهڙي قسم جا ماڻهو پنهنجي ڏيکاءَ واري عملن جي ڪري خدا جي پڪڙ کان بچي نہ ٿا سگهن. اسلام جي ظاهري نمائش جي باوجود حقيقت جي لحاظ کان اُهي اسلام کان پري هئا. ان ڪري انهن جو انجام بہ انهن جي حقيقت جي لحاظ کان ٿيندو، نہ وري انهن جي ظاهر جي لحاظ کان. جيئن تہ ڪنهن جي گمراهي جي ڪري خدا ان جو دشمن نہ ٿي ويندو آهي. اهڙي قسم جا ماڻهو جيڪڏهن پنهنجي غلطيءَ تي شرمندا ٿين ۽ هو پنهنجي زندگي کي بدلائين، پنهنجي توجهہ کي هر طرف کان موڙي الله ڏانهن لڳائين ۽ ثابت قدميءَ سان دين جي رستي تي هلڻ لڳن تہ يقيناً الله انهن کي معاف ڪري ڇڏيندو.

الجزء السادس (٦)

لَا يُحِبُّ اللّٰهُ الْجَهْرَ بِالسُّوْٓءِ مِنَ الْقَوْلِ اِلَّا مَنْ ظُلِمَ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ سَمِيْعًا عَلِيْمًا ﴿۱۴۸﴾ اِنْ
تُبْدُوْا خَيْرًا اَوْ تُخْفُوْهُ اَوْ تَعْفُوْا عَنْ سُوْٓءٍ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَفُوًّا قَدِيْرًا ﴿۱۴۹﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ
يَكْفُرُوْنَ بِاللّٰهِ وَ رُسُلِهٖ وَ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يُّفَرِّقُوْا بَيْنَ اللّٰهِ وَ رُسُلِهٖ وَ يَقُوْلُوْنَ نُؤْمِنُ
بِبَعْضٍ وَّ نَكْفُرُ بِبَعْضٍ ۙ وَّ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يَّتَّخِذُوْا بَيْنَ ذٰلِكَ سَبِيْلًا ۙ﴿۱۵۰﴾ اُولٰٓئِكَ هُمُ
الْكٰفِرُوْنَ حَقًّا ۚ وَ اَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابًا مُّهِيْنًا ﴿۱۵۱﴾ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَ رُسُلِهٖ وَ لَمْ
ع ۲۱ يُفَرِّقُوْا بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْهُمْ اُولٰٓئِكَ سَوْفَ يُؤْتِيْهِمْ اُجُوْرَهُمْ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۱۵۲﴾

الله بدگوئي کي پسند نہ ٿو ڪري سواءِ انهيءَ جي جنهن سان ظلم ٿيو هجي ۽ الله ٻڌڻ وارو ڄاڻڻ وارو آهي. جيڪڏهن اوهان چڱائي کي ظاهر ڪريو يا اُن کي لڪايو يا ڪنهن برائي کي درگذر ڪريو تہ الله معاف ڪرڻ وارو قدرت رکندڙ آهي. جيڪي ماڻهو الله ۽ سندس رسولن جو انڪار ڪري رهيا آهن ۽ گهُرن ٿا تہ الله ۽ سندس رسولن جي وچ ۾ فرق ڪن ۽ چون ٿا تہ اسان ڪن کي مڃيندا سون ۽ ڪن کي نہ مڃيندا سون. ۽ گهرن ٿا تہ اُن جي وچ مان ڪو رستو ڪڍن. اهڙا ماڻهو پڪا ڪافر آهن ۽ اسان ڪافرن لاءِ ذلت جو عذاب تيار ڪري رکيو آهي. ۽ جن ماڻهن الله ۽ سندس رسولن تي ايمان آندو ۽ انهن مان ڪنهن ۾ فرق نہ ڪيو، انهن کي الله سندن اجر ڏيندو ۽ الله بخشيندڙ مهربان آهي. ١٤٨-١٥٢

---

ڪنهن ماڻهو جي اندر ڪو ديني يا دنياوي عيب معلوم هجي تہ ان کي شهرت ڏيڻ الله کي سخت ناپسند آهي. نصيحت جو حق هر هڪ کي آهي، پر نصيحت يا تہ ڪنهن جو نالو وٺڻ کانسواءِ عام انداز ۾ ڪرڻ گهرجي يا لاڳاپيل ماڻهوءَ سان اڪيلائي ۾ ملي ڪري. الله صبح ۽ شام ماڻهن جي گناهن کي نظر انداز ڪندو رهي ٿو، ٻانهن کي بہ پنهنجي اندر اهوئي اخلاق پيدا ڪرڻو آهي. جيڪڏهن هڪ ماڻهو مظلوم هجي تہ ان جي لاءِ رعايت آهي تہ اُهو ظالم جي ظلم کي ماڻهن جي سامهون بيان ڪري. مظلوم جيڪڏهن صبر ڪري ۽ ظلم ڪرڻ واري کي معاف ڪري ڇڏي، تہ اِهو ان جي حق ۾ وڌيڪ بهتر آهي. چاڪاڻ تہ اهڙي طرح هو ثابت ڪري ٿو تہ انهي کي دنيا جي نقصان کان وڌيڪ آخرت جي نقصان جو فڪر آهي. جيڪو ماڻهو ڪنهن وڏي غم ۾ مبتلا هجي، ان جي لاءِ ننڍا غم بي حقيقت ٿي ويندا آهن. اُهوئي حال ان شخص جو هوندو آهي، جنهن جي دل ۾ اچڻ واري دهشت ناڪ ۽ ڊيڄاريندڙ ڏينهن جو غم هجي.

مڪي جا ماڻهو حضرت ابراهيمؑ جي نبوت کي مڃيندا هئا. اهڙي طرح يهودي حضرت موسيٰؑ جي نبوت کي تسليم ڪندا هئا ۽ عيسائي حضرت عيسيٰؑ جي نبوت کي، پر انهن سڀني پيغمبر عربيﷺ جي نبوت کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. انهن مان هر هڪ ماضي جي پيغمبر کي مڃڻ جي لاءِ تيار هو، پر انهن مان ڪوبہ وقت جي پيغمبر کي مڃڻ جي لاءِ تيار نہ هو. حالانڪ جن نبين کي اُهي مڃي رهيا هئا، انهن کي بہ پنهنجي زماني ۾ اهڙي ئي قسم جو مخالفاڻو ردِ عمل پيش آيو هو، جنهن تجربي مان پيغمبر عربيﷺ کي گذرڻو پيو. اهڙي قسم جي هر ڪوشش حق پرستي ۽ نفس پرستي جي وچ ۾ رستو ڪڍڻ لاءِ هوندي آهي تہ جيئن خواهشن جو ڍانچو بہ نہ ٽٽي ۽ ماڻهو خدا جي جنت تائين بہ پهچي وڃي.

اصل ڳالهه اها آهي تہ ماضي جي نبوت هڪ مجيل نبوت هوندي آهي، جڏهن تہ وقت جي پيغمبر کي مڃڻ لاءِ ماڻهو کي نئون ذهني سفر طي ڪرڻو پوي ٿو. ماضي جي نبوت زمانو گذرڻ ڪانپوءِ هڪ تسليم ٿيل نبوت بڻجي ويندي آهي. اُها پيدائشي طور تي ماڻهو جي ذهن جو جز بڻجي ويندي آهي. پر وقت جو پيغمبر هڪ اختلافي شخصيت هوندو آهي، هو ڏسڻ وارن کي رڳو ”هڪ انسان“ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ان لاءِ ان کي مڃڻ جي لاءِ ضروري هوندو آهي تہ ماڻهو هڪ نئون ذهني سفر شروع ڪري. هو خدا کي پيهر شعور جي سطح تي حاصل ڪري. ماضي جي پيغمبر کي مڃڻ تقليدي ايمان جي ڪري هوندو آهي ۽ وقت جي پيغمبر کي مڃڻ شعوري ايمان جي ڪري. پر الله وٽ قيمت شعوري ايمان جي آهي نہ وري تقليدي ايمان جي.

يَسۡـَٔلُكَ اَهۡلُ الۡكِتٰبِ اَنۡ تُنَزِّلَ عَلَيۡهِمۡ كِتٰبًا مِّنَ السَّمَآءِ فَقَدۡ سَاَلُوۡا مُوۡسٰٓى اَكۡبَرَ مِنۡ ذٰلِكَ فَقَالُوۡۤا اَرِنَا اللّٰهَ جَهۡرَةً فَاَخَذَتۡهُمُ الصّٰعِقَةُ بِظُلۡمِهِمۡ ۚ ثُمَّ اتَّخَذُوا الۡعِجۡلَ مِنۡۢ بَعۡدِ مَا جَآءَتۡهُمُ الۡبَيِّنٰتُ فَعَفَوۡنَا عَنۡ ذٰلِكَ ۚ وَاٰتَيۡنَا مُوۡسٰى سُلۡطٰنًا مُّبِيۡنًا ﴿١٥٣﴾ وَرَفَعۡنَا فَوۡقَهُمُ الطُّوۡرَ بِمِيۡثَاقِهِمۡ وَقُلۡنَا لَهُمُ ادۡخُلُوا الۡبَابَ سُجَّدًا وَّقُلۡنَا لَهُمۡ لَا تَعۡدُوۡا فِى السَّبۡتِ وَاَخَذۡنَا مِنۡهُمۡ مِّيۡثَاقًا غَلِيۡظًا ﴿١٥٤﴾

ڪتاب وارا تو کان اِهو مطالبو ڪن ٿا تہ تون انهن ڏانهن آسمان مان هڪ ڪتاب لاهين، پر موسيٰ کان اُهي ان کان بہ وڏي شيءِ جو مطالبو ڪري چڪا آهن. انهن چيو تہ اسان کي الله بلڪل ظاهر ظهور ڏيکار، پوءِ سندن اِهڙي زيادتي جي ڪري مٿن وِڄ اچي ڪِري. پڌريون نشانيون اچڻ کان پوءِ بہ انهن ڳابي کي معبود بڻائي ورتو، پوءِ اسان اُن کان بہ ڪين معافي ڏني. ۽ موسيٰ کي اسان پڌري حجت عطا ڪئي. ۽ اسان انهن جي مٿان جبل طور کي بلند ڪيو انهن کان عهد وٺڻ جي لاءِ. ۽ اسان کين چيوسون تہ دروازي ۾ داخل ٿيو سِرُ جهڪائيندي ۽ کين چيوسون تہ سبت جي معاملي ۾ زيادتي نہ ڪجو. ۽ اسان انهن کان پڪو عهد ورتو. ١٥٣-١٥٤

---

خدا جو پيغمبر انسانن مان هڪ انسان هوندو آهي. اهو عام ماڻهوءَ جي صورت ۾ ماڻهن جي سامهون اچي ٿو، ان ڪري ماڻهن کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ اُهي هڪ عام ماڻهو کي ڪهڙي طرح خدا جو نمائندو مڃي وٺن. اُهي ڪيئن يقين ڪري وٺن تہ اهو ماڻهو هڪ اهڙو شخص آهي جيڪو خدا جي طرفان ڳالهائڻ لاءِ مقرر ٿيو آهي. ان ڪري هو چوندا آهن تہ جيڪو ڪلام توهان پيش ڪري رهيا آهيو، ان کي آسمان تان ايندي ڏيکاريو يا خدا خود تنهنجي تصديق جي لاءِ آسمان تان لهي پوي، تڏهن اسان تنهنجي ڳالهہ مڃينداسون. پر هن قسم جو مطالبو انتهائي غير سنجيده مطالبو آهي، ڇاڪاڻ تہ انسان جو امتحان تہ اِهو آهي تہ هو بنا ڏٺي مڃي، اهو حقيقتن کي انهن جي معنوي صورت ۾ حاصل ڪري. اهڙي حالت ۾ ڏيکاري ميرائڻ جو ڪهڙو فائدو ۽ جيڪڏهن ڪجهہ دير لاءِ عالم جي نظام کي بدلائي ڇڏجي ۽ ماڻهوءَ کي ان جي مطالبي جي مطابق شين کي ڏيکاريو وڃي، تڏهن بہ اُهو بي فائده هوندو. ڇاڪاڻ تہ اهو ڏيکارڻ بهرحال ڪجهہ وقت لاءِ هوندو نہ وري هميشہ جي لاءِ. انسان جي آزادي جيڪا ان کي سرڪشي ڏانهن وٺي ويندي آهي، ان کان پوءِ بہ باقي رهندي. نتيجو اِهو ٿيندو تہ ڏسڻ جي وقت

تائين هو ڏجي ميجي وڃڻدو ۽ ان ڪانپوءِ وري پنهنجي آزادي جو غلط استعمال شروع ڪري ڇڏيندو، جيئن ڏسڻ ڪان پهرين ڪري رهيو هو. يهودين جو مثال اُن جي تاريخي تصديق ڪري رهيو آهي.

جبل طور وٽ غير معمولي حالتون پيدا ڪري يهودين ڪان اهو عهد ورتو ويو هو ته هو پنهنجي عبادت گاهه ۾ عاجزيءَ سان داخل ٿين ۽ خشوع سان الله جي عبادت ڪن ۽ روزيءَ ڪي حاصل ڪرڻ جي لاءِ جيڪي ڪوششون ڪن، اُهي الله جي حدن ۾ رهي ڪري ڪن، نه وري ان ڪان آزاد ٿي ڪري. پر يهودين اهڙي قسم جا سڀ عهد ٽوڙي ڇڏيا.

”موسىٰ ڪي اسان سلطان مبين (پڌري حجت) ڏني“. الله جو اُهو معاملو هر پيغمبر سان هوندو آهي. پيغمبر جيئن ته هڪ عام انسان وانگر هوندو آهي، پر ان جي ڪلام ۽ ان جي حالتن ۾ اهڙا پڌرا دليل موجود هوندا آهن جيڪي اُن جي خدائي حيثيت ڪي پوري ريت ثابت ڪري رهيا هوندا آهن. پر ظالم انسان هر خدائي نشاني جو اهڙو سبب ڳولهي وٺندو آهي، جنهن ڪان پوءِ هو اُن ڪي رد ڪري پنهنجي سرڪشي واري زندگي ڪي وري به جاري رکي.

فَبِمَا نَقۡضِهِمۡ مِّيۡثَاقَهُمۡ وَ كُفۡرِهِمۡ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَ قَتۡلِهِمُ الۡاَنۡۢبِيَآءَ بِغَيۡرِ حَقٍّ وَّ قَوۡلِهِمۡ قُلُوۡبُنَا غُلۡفٌ ؕ بَلۡ طَبَعَ اللّٰهُ عَلَيۡهَا بِكُفۡرِهِمۡ فَلَا يُؤۡمِنُوۡنَ اِلَّا قَلِيۡلًا ﴿۱۵۵﴾ وَّ بِكُفۡرِهِمۡ وَ قَوۡلِهِمۡ عَلٰى مَرۡيَمَ بُهۡتَانًا عَظِيۡمًا ﴿۱۵۶﴾ وَّ قَوۡلِهِمۡ اِنَّا قَتَلۡنَا الۡمَسِيۡحَ عِيۡسَى ابۡنَ مَرۡيَمَ رَسُوۡلَ اللّٰهِ ۚ وَمَا قَتَلُوۡهُ وَ مَا صَلَبُوۡهُ وَ لٰـكِنۡ شُبِّهَ لَهُمۡ ؕ وَاِنَّ الَّذِيۡنَ اخۡتَلَفُوۡا فِيۡهِ لَفِىۡ شَكٍّ مِّنۡهُ ؕ مَا لَهُمۡ بِهٖ مِنۡ عِلۡمٍ اِلَّا اتِّبَاعَ الظَّنِّ ۚ وَ مَا قَتَلُوۡهُ يَقِيۡنًا ۢ ﴿۱۵۷﴾ بَلۡ رَّفَعَهُ اللّٰهُ اِلَيۡهِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيۡزًا حَكِيۡمًا ﴿۱۵۸﴾

انهن کي جيڪا سزا ملي اُها ان تي جو انهن سندن عهد کي ٽوڙيو ۽ اُن تي ته انهن الله جي نشانين جو انڪار ڪيو ۽ اُن تي ته انهن پيغمبرن کي ناحق قتل ڪيو ۽ اِهو چوڻ تي ته اسان جون دليون ته بند آهن. بلڪ الله انهن جي انڪار جي سبب سندن دلين تي مهر هڻئي آهي تنهن ڪري اُهي گهٽ ئي ايمان آڻين ٿا. ۽ سندن انڪار ۽ مريم تي سندن وڏي بهتان مڙهڻ سبب ۽ سندن هن چوڻ ڪري ته اسان الله جي رسول مسيح عيسىٰ پٽ مريم کي قتل ڪيو، حالانڪ انهن نه کيس قتل ڪيو ۽ نه ان کي ڦاسي چاڙهيو، مگر کين شبهي ۾ وڌو ويو. ۽ جيڪي ماڻهو ان بابت اختلاف ڪري رهيا آهن، اُهي هن باري ۾ شڪ ۾ پيل آهن. انهن وٽ سواءِ گمان جي پيو ڪو علم نه آهي. ۽ بيشڪ انهن کيس قتل نه ڪيو. بلڪ الله کيس پاڻ ڏانهن کڻي ورتو ۽ الله زبردست حڪمت وارو آهي. ١٥٥-١٥٨

---

يهودين تي آسماني هدايت نازل ڪئي وئي، جنهن ۾ اهو ٻڌايو ويو هو ته هو دنيا ۾ الله جي مرضيءَ تي هلن ته آخرت ۾ الله انهن کي جنت ڏيندو. انهن پهرين حصي کي وساري ڇڏيو، البت ٻئي حصي کي پنهنجو پيدائشي حق سمجهي ورتو. يهودي هر قسم جي بگاڙ ۾ مبتلا ٿيا. اُن جي باوجود پنهنجي نجات يافته هُئڻ جي باري ۾ انهن جو يقين ايترو وڌيل هو جو انهن سمجهي ورتو هو ته هاڻي انهن

ڪي نئين نبيءَ ڪي مڃڻ جي ضرورت نہ آهي. اُهي طنز طور چوندا هُئا ”اسان جون دليون بند آهن“، انهن جو اهو جملو رسول ڪي مڃڻ جي باري ۾ سندن صلاحيت نہ هجڻ جي ڪري نہ هو، پر اُن اطمينان جو اظهار هو تہ اُهي رسول سان چاهي ڪهڙو بہ سلوڪ ڪن، انهن جي نجات هر حال ۾ يقيني آهي.

جيڪي ماڻهو اهڙي قسم جي ڪوڙي يقين ۾ مبتلا هجن، اُهي هر قسم جو جرم ڪرڻ تي دلير ٿي ويندا آهن. خدا تي ايمان انهن ڪي جنهن عهد خداوندي ۾ ٻڌي ٿو، اِن ڪي ٽوڙڻ انهن جي لاءِ مشڪل نہ هوندو آهي. الله جي طرفان ظاهر ٿيڻ وارن پڌرن دليلن جي باوجود اُهي اُنهن ڪي مڃڻ جي لاءِ تيار نہ ٿيندا آهن. حق ڏانهن سڏڻ وارا جيڪي انهن جي غير خدا پرستاڻي روش ڪي بي نقاب ڪندا آهن، انهن جي خلاف چڙهائي ڪرڻ ۾ انهن ڪي ڪا هٻڪ نٿي ٿئي، ايستائين جو ڪوڙي تهمت هڻي داعيءَ ڪي بي عزت ڪرڻ کان بہ انهن ڪي ڪا شيءِ نٿي روڪي. يهودين حضرت مسيح عليه السلام جي خلاف قتل جو قدم کنيو ۽ اُن کان پوءِ فخر سان چيو تہ ”مريم جو پٽ مسيح جيڪو پاڻ ڪي رسول چوندو هو، اُن ڪي اسان ماري ڇڏيو“. پر اهڙي قسم جا ماڻهو الله جي داعين خلاف جيڪي بہ سازشون ڪن، اُهي ڪڏهن بہ ڪامياب نٿا ٿي سگهن. الله جي طاقت ۽ انهيءَ جو حڪمت وارو نظام هميشہ حق جي داعين سان هوندو آهي. هر سازش ۽ هر مخالفت جي باوجود انهن ڪي اُن قت تائين پنهنجو ڪم جاري رکڻ جي توفيق ڏني ويندي آهي، جيستائين اُهي پنهنجي حصي جو ڪم مڪمل ڪري وٺن.

جيڪي ماڻهو حق جي مقابلي ۾ سرڪشيءَ جو رويو اختيار ڪن، الله انهن کان حق ڪي قبول ڪرڻ واري صلاحيت کسي وٺندو آهي. اُهي پنهنجون مخالفاڻيون سرگرميون جاري رکندا آهن، جيستائين فرشتا انهن ڪي مجرم جي حيثيت سان پڪڙي خدا جي عدالت ۾ حاضر ڪري ڇڏين.

وَ اِنْ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ اِلَّا لَيُؤْمِنَنَّ بِهٖ قَبْلَ مَوْتِهٖ ۚ وَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ يَكُوْنُ عَلَيْهِمْ شَهِيْدًا ﴿١٥٩﴾ فَبِظُلْمٍ مِّنَ الَّذِيْنَ هَادُوْا حَرَّمْنَا عَلَيْهِمْ طَيِّبٰتٍ اُحِلَّتْ لَهُمْ وَ بِصَدِّهِمْ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ كَثِيْرًا ﴿١٦٠﴾ وَّ اَخْذِهِمُ الرِّبٰوا وَ قَدْ نُهُوْا عَنْهُ وَ اَكْلِهِمْ اَمْوَالَ النَّاسِ بِالْبَاطِلِ ؕ وَ اَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ مِنْهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿١٦١﴾ لٰكِنِ الرّٰسِخُوْنَ فِي الْعِلْمِ مِنْهُمْ وَ الْمُؤْمِنُوْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِمَاۤ اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَ مَاۤ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ وَ الْمُقِيْمِيْنَ الصَّلٰوةَ وَ الْمُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَ الْمُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ اُولٰٓئِكَ سَنُؤْتِيْهِمْ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿١٦٢﴾ ع ۲۲ ۲

۽ ڪتاب وارن مان ڪو بہ اهڙو نہ آهي جيڪو سندس موت کان اڳ اُن تي ايمان نہ آڻي ۽ قيامت جي ڏينهن اهو مٿن گواهہ ٿيندو. پوءِ يهودين جي ظلم ڪرڻ ڪري اسان اُهي پاڪ شيون انهن تي حرام ڪري ڇڏيون جيڪي انهن لاءِ حلال هيون. ۽ اُن ڪري جو اُهي الله جي رستي کان گهڻو روڪيندا هئا. ۽ ان ڪري جو اُهي وياج وٺندا هئا، حالانڪ انهن ڪي منع ڪيو ويو هو ۽ اُن ڪري جو اُهي ماڻهن جا مال ناحق کائيندا هئا. ۽ اسان انهن مان ڪافرن لاءِ دردناڪ عذاب تيار ڪري رکيو آهي. پر انهن ۾ جيڪي ماڻهو علم ۾ پڪا ۽ ايمان وارا آهن، انهن

ايمان آندو آهي اُن تي جيڪو تو تي نازل ڪيو ويو ۽ جيڪو تو ڪان اڳ نازل ٿيو ۽ اُهي نماز جا پابند آهن ۽ زڪوات ادا ڪرڻ وارا آهن ۽ الله تي ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکڻ وارا آهن. اهڙن ماڻهن کي اسان ضرور وڏو اجر ڏينداسون. ١٥٩-١٦٢

---

عڪرمه رضي الله عنه چوي ٿو ته ڪو يهودي يا عيسائي نه مرندو، جيستائين اُهو محمد ﷺ تي ايمان آڻي (لا يموت النصراني ولا اليهودي حتيٰ يُومن بمحمد ﷺ) يهودين ۽ عيسائين وٽ آسماني علم هو. اهڙا ماڻهو اِهو سمجهڻ ۾ غلطي نٿا ڪري سگهن ته پيغمبر عربي جي دعوت خالص خدائي دعوت آهي، پر پيغمبر عربي کي مڃڻ ۽ اُن جي مشن ۾ پنهنجو مال ۽ پنهنجي زندگي لڳائڻ انهن کي دنياوي مصلحتن جي خلاف نظر ايندو هو، اُن ڪري انهن پاڻ سڳورن ﷺ جو ساٿ ڏيڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو. پر جڏهن موت ماڻهوءَ جي سامهون ايندو آهي ته اهڙي قسم جون سڀ مصلحتون باطل ٿينديون نظر اچڻ لڳنديون آهن. اُن وقت ماڻهوءَ جي ذهن مان سڀ هٽرادو پردا هٽي ويندا آهن ۽ حق پنهنجي پڌري صورت ۾ سامهون اچي ويندو آهي. موت جي دروازي تي پهچي ماڻهو اُن شيءِ جو اقرار ڪري ٿو وٺي، جنهن کي اُهو موت ڪان پهرين مڃڻ جي لاءِ تيار نه هو، پر اُن وقت جي اقرار جي الله جي نظر ۾ ڪا قيمت نه آهي.

جڏهن ڪا جماعت يا گروهه خدائي دين ڪان علاوه هٽ ٺوڪيل دين کي اختيار ڪندو آهي ته اُهو پنهنجي ديني حيثيت کي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ ڪجهه هٽرادو نشانيون به قائم ڪندو آهي. هو پنهنجي مزاج ۽ پنهنجي حالتن جي لحاظ سان حرام ۽ حلال جا نوان قانون ٺاهيندو آهي ۽ انهن جو خصوصي اهتمام ڪري ثابت ڪرڻ چاهيندو آهي ته اُهو ٻين ڪان وڌيڪ دين تي قائم آهي. اهڙن ماڻهن جو دين ڪجهه ظاهري شين جي اهتمام تي انحصار ڪندو آهي نه وري الله وارو بڻجڻ تي. تنهن ڪري اُهي اُن ڪان نٽا ڊڄن ته الله جي منع ڪيل طريقن سان دنيا جا فائدا حاصل ڪن ۽ الله جي لاءِ ٿيڻ واري ڪم جو رستو روڪين. اهڙن ماڻهن جو انجام الله وٽ بي دينن سان ٿيندو نه وري ديندارن سان.

يهودين مان ڪجهه ماڻهو، عبدالله بن سلام رضي الله عنه وغيره، رسول الله ﷺ تي ايمان آندو ۽ سندن ساٿ ڏنو. جيڪي ماڻهو انساني هٽ ٺوڪيل واڌارن ڪان گذري اصل آسماني دين کي سڃاڻيندا آهن، تعصب ۽ تقليد ۽ مفاد پرستي جي ذهنيت ڪان آزاد هوندا آهن. انهن کي سچائي کي سمجهڻ ۽ پنهنجي پاڻ کي اُن جي حوالي ڪرڻ ۾ ڪا شيءِ رڪاوٽ نٿي بڻجي. اُهي هر قسم جي ذهني مونجهارن ڪان ٻاهر اچي سچائيءَ کي ڏسي وٺندا آهن. اِهي ئي اُهي ماڻهو آهن جيڪي الله جي جنتن ۾ داخل ڪيا ويندا.

اِنَّآ اَوۡحَيۡنَآ اِلَيۡكَ كَمَآ اَوۡحَيۡنَآ اِلٰى نُوۡحٍ وَّ النَّبِيّٖنَ مِنۡۢ بَعۡدِهٖ‌ۚ وَ اَوۡحَيۡنَآ اِلٰٓى اِبۡرٰهِيۡمَ وَ اِسۡمٰعِيۡلَ وَاِسۡحٰقَ وَيَعۡقُوۡبَ وَالۡاَسۡبَاطِ وَعِيۡسٰى وَاَيُّوۡبَ وَيُوۡنُسَ وَهٰرُوۡنَ وَسُلَيۡمٰنَ‌ۚ وَاٰتَيۡنَا دَاوٗدَ زَبُوۡرًا ﴿۱۶۳﴾ وَرُسُلًا قَدۡ قَصَصۡنٰهُمۡ عَلَيۡكَ مِنۡ قَبۡلُ وَرُسُلًا لَّمۡ نَقۡصُصۡهُمۡ عَلَيۡكَ‌ؕ وَكَلَّمَ اللّٰهُ مُوۡسٰى تَكۡلِيۡمًا‌ۚ ﴿۱۶۴﴾ رُسُلًا مُّبَشِّرِيۡنَ وَمُنۡذِرِيۡنَ لِئَلَّا يَكُوۡنَ لِلنَّاسِ عَلَى اللّٰهِ حُجَّةٌۢ بَعۡدَ الرُّسُلِ‌ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيۡزًا حَكِيۡمًا ﴿۱۶۵﴾

اسان توڏانهن وحي موڪليو آهي جهڙي طرح اسان نوح ۽ ان ڪانپوءِ وارن نبين ڏانهن وحي موڪليو هو. ۽ اسان ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحٰق ۽ يعقوب ۽ اولادِ يعقوب ۽ عيسيٰ ۽ ايوب ۽ يونس ۽ هارون ۽ سليمان ڏانهن وحي موڪليو هو. ۽ اسان دائود کي زبور ڏنو. ۽ اسان اِهڙا رسول موڪليا جن جو حال اسان توکي پهرئين ٻڌائي چڪا آهيون ۽ اهڙا رسول بہ جن جو حال اسان توکي نہ ٻڌايو آهي. ۽ موسيٰ سان الله ڪلام ڪيو. الله رسولن کي خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ٻڻائي موڪليو، تہ جيئن رسولن ڪانپوءِ ماڻهن وٽ الله جي مقابلي ۾ ڪا بہ حجت باقي نہ رهي ۽ الله زبردست آهي حڪمت وارو آهي. ١٦٣-١٦٥

---

الله انسانن کي پيدا ڪيو ۽ پوءِ جنت ۽ جهنم کي ٺاهيو. ان ڪانپوءِ انسان کي زمين تي آباد ڪيو. هِتي انسانن کي آزادي آهي تہ هو جيڪو چاهي ڪري. پر اِها آزادي هميشہ جي لاءِ نہ آهي، پر ڪجھ وقت لاءِ آهي ۽ امتحان جي لاءِ آهي. اِها ان لاءِ آهي تہ سٺي ۽ بُري کي الڳ ڪيو وڃي. خدا اُهو ڏسي رهيو آهي تہ ماڻهن ۾ ڪير آهي جيڪو پنهنجي آزاديءَ جي باوجود حقيقت پسندي جو رويو اختيار ڪري ٿو ۽ پاڻ کي الله جو ٻانهو ٺاهي رکي ٿو ۽ ڪير اُهو آهي جيڪو پنهنجي آزاديءَ جو غلط استعمال ڪري ٻڌائيندو آهي تہ اهو هڪ سرڪش انسان آهي. دنيا ۾ ٻنهي قسمن جا ماڻهو گڏجي رهن ٿا. ٻنهي کي هِتي هڪ جهڙا موقعا حاصل آهن تہ هو خدا جي نعمتن مان فائدو حاصل ڪن. پر امتحان جي مقرر وقت پورو ٿيڻ ڪانپوءِ ٻئي گروھ هڪٻئي کان الڳ ڪيا ويندا. پهرين گروھ کي هميشہ جي لاءِ جنت جي باغن ۾ آباد ڪيو ويندو ۽ ٻئي گروھ کي هميشہ جي لاءِ جهنم ۾ وڌو ويندو.

زندگيءَ جي باري ۾ الله جو اِهو منصوبو انسان کي وڏي نازڪ صورتحال ۾ وجهي رهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ ان جو مطلب اِهو آهي تہ دنيا جي مختصر زندگيءَ جو انجام ٻن انتهائي صورتن ۾ سامهون اچڻ وارو آهي يا تہ هميشہ جي راحت آهي يا وري هميشہ جو عذاب. ان ڪري الله رهنمائي جي ٻين فطري انتظامن کان سواءِ پيغمبرن ۽ ڪتابن جي موڪلڻ جو انتظام ڪيو، تہ جيئن ڪو شخص زندگي جي حقيقت کان بي خبر نہ رهي ۽ فيصلي واري ڏينهن اِهو نہ چئي سگهي تہ اسان کي الله جي منصوبي جي خبر نہ هئي، تہ جيئن اسان پنهنجي زندگي کي ان جي مطابق گذاريون ها.

الله جي هِن منصوبي جي لاءِ لازمي هو تہ شروع کان آخر تائين اچڻ وارن سڀني نبين جو پيغام ۽ انهن جي منصب جي ذميداري هڪ هجي. جڏهن سڀ انسان هڪڙي ئي امتحان جي ساهمي ۾ بيٺل هجن، تہ انهن جي امتحان جو پرچو هڪٻئي کان مختلف ڪيئن ٿي سگهي ٿو. حقيقت اِها آهي تہ سڀني نبين جو پيغام هڪ هو ۽ ان ئي هڪڙي پيغام کان انهن سڀني انسانن کي خبردار ڪيو ۽ اُهو اِهو تہ هر ماڻهو هڪ اهڙي نازڪ مقام تي بيٺل آهي، جنهن جي هڪ طرف جنت آهي ۽ ٻي طرف جهنم. اُهو هڪڙي طرف هلي تہ جنت ۾ پهچندو ۽ ٻئي طرف هلي تہ جهنم ۾ وڃي ڪِرندو. سڀني نبين جي دعوت هڪ هئي. البت زماني جي ضرورت جي لحاظ کان انهن کي خدا جي مدد مختلف صورتن ۾ ملي. الله جي اِها سنت اڄ بہ باقي آهي. ڊيڄارڻ ۽ خوشخبري ٻڌائڻ وارو پيغمبراڻو ڪم ڪرڻ جي لاءِ جيڪي ماڻهو اڄ اٿندا، اُهي پنهنجي حالتن جي لحاظ کان يقيناً الله جي خاص مدد جا مستحق هوندا، تہ جيئن اُهي پنهنجي دعوت واري ذميداري کي اثرائتي نموني جاري رکي سگهن.

لٰكِنِ اللّٰهُ يَشْهَدُ بِمَآ اَنْزَلَ اِلَيْكَ اَنْزَلَهٗ بِعِلْمِهٖ ۚ وَ الْمَلٰٓئِكَةُ يَشْهَدُوْنَ ؕ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ
شَهِيْدًا ۝١٦٦ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ صَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ قَدْ ضَلُّوْا ضَلٰلًۢا بَعِيْدًا ۝١٦٧ اِنَّ
الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَظَلَمُوْا لَمْ يَكُنِ اللّٰهُ لِيَغْفِرَ لَهُمْ وَ لَا لِيَهْدِيَهُمْ طَرِيْقًا ۝١٦٨ اِلَّا طَرِيْقَ
جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ وَ كَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرًا ۝١٦٩ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمُ
الرَّسُوْلُ بِالْحَقِّ مِنْ رَّبِّكُمْ فَاٰمِنُوْا خَيْرًا لَّكُمْ ؕ وَ اِنْ تَكْفُرُوْا فَاِنَّ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ
وَ الْاَرْضِ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ۝١٧٠

پر الله شاهدي ٿو ڏي ته جيڪي ڪجھ هن توتي نازل ڪيو آهي سو پنهنجي علم سان نازل ڪيو اٿس ۽ فرشتا به شاهدي ڏين ٿا ۽ الله شاهدي لاءِ ڪافي آهي. جن ماڻهن انڪار ڪيو ۽ الله جي رستي کان روڪيائون، اهي پٽڪي گهڻو پري وڃي پيا. جن ماڻهن انڪارِ ڪيو ۽ ظلم ڪيو انهن کي الله ڪڏهن به نه بخشيندو نه ئي انهن کي جهنم ڪانسواءِ ڪو رستو ڏيکاريندو، ان ۾ اُهي هميشه رهندا ۽ الله جي لاءِ اِهو آسان آهي. اي انسانؤ! توهان وٽ رسول آيو آهي، توهان جي رب جي طرفان حق ڳالھ ڪٽي. پوءِ مڃي وٺو، ان ۾ توهان جي ڀلائي آهي. ۽ جيڪڏهن نه مڃيندو ته الله جو آهي جيڪو ڪجھ آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ آهي ۽ الله ڄاڻڻ وارو حڪمت وارو آهي. ١٦٦-١٧٠

---

رسول اللهﷺ جي رسالت جي وقت يهودين کي آسماني مذهب جي نمائندي جي حيثيت حاصل هئي. اُهي مذهب جي وڏن وڏن مرتبن تي ويٺل هئا. انهن کي اُهو منظور نه هو ته هو پاڻ ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي جي وڏائي تسليم ڪن. انهن اِهو مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته پاڻﷺ الله جي طرفان ان جي ٻانهن تائين ان جو پيغام پهچائڻ لاءِ موڪليا ويا آهن. اُهي سمجهندا هئا ته اسان دين جا ٺيڪيدار آهيون. اسان جنهن شخص جي ديني صداقت کي تسليم نه ڪريون ته اُهو واقعي ۾ غير تسليم شده بڻجي ويندو آهي. پر انهن کان اِهو وسري ويو ته اِها ڪائنات خدا جي ڪائنات آهي ۽ ان جو نظام خدا جا فرمانبردار فرشتا هلائي رهيا آهن. ان لاءِ هِتي ڪنهن جي به تصديق اصل ۾ اُها آهي جيڪا خدا جي طرفان هجي ۽ ڪائنات جو پورو نظام جنهن جي تائيد ڪري ۽ يقينًا خدا ۽ ان جي پوري ڪائنات پنهنجي پيغمبر سان گڏ آهي نه ورِي هٿ ٺوڪيل گمانن سان گڏ.

خدا جي پڪار جي مقابلي ۾ جيڪي ماڻهو اِهو رد عمل ڏيکارين ته اُهي ان کي نظر انداز ڪن ۽ ان جو انڪار ڪن ۽ اُهي ماڻهن کي ان جو ساٿ ڏيڻ کان روڪين، اُهي رڳو اِهو ثابت ڪري رهيا آهن ته اُهي ٻانهپ جي صحيح مقام کان پٽڪي گهڻو پري نڪري ويا آهن. اُهي اهڙي ڳالھ چئي رهيا آهن، جنهن جي ترديد سڄي ڪائنات ڪري رهي آهي. هو هڪ اهڙي منصوبي جي خلاف محاذ ٺاهي رهيا آهن، جنهن جي پويان زمين ۽ آسمان جو مالڪ بيٺل آهي. ظاهر آهي ته ان کان وڌيڪ ناداني هِن دنيا ۾ ٻي ڪانه آهي. اهڙا ماڻهو دين جي نالي تي سڀ کان وڌي بي ديني ڪري رهيا آهن. جيڪي ماڻهو پنهنجي لاءِ اِهڙي قسم جو ظالماڻو رويو پسند ڪن، انهن جو ذهن مڃڻ جي بجاءِ انڪار جي رخ تي هلڻ لڳندو آهي. اُهي ڏينهن به ڏينهن حق کان پري ٿيندا ويندا آهن، ايستائين جو هميشه جي بربادي جي کڏ ۾ وڃي ڪِرندا آهن. خدا جي دعوت جو انڪار خود خدا جو انڪار آهي. خدا جي دعوت ايترن ڪليل دليلن سان هوندي آهي ته ان

ڪي سمجهڻ ڪنهن جي لاءِ به مشڪل نه رهي. ان جي باوجود جيڪي ماڻهو خدا جي دعوت جو انڪار ڪن، اُهي جڻ ته خدا جي اڳيان سرڪشي ڪري رهيا آهن ۽ سرڪشي الله جي نزديڪ سڀني کان وڏو جرم آهي.

ماڻهو جيڪڏهن پنهنجي دل جون دريون کليل رکي ته الله جي پڪار اُن کي پنهنجي تلاش جو جواب لڳندي. اُن کي محسوس ٿيندو ته اُهو حق جيڪو انساني ڳالهين ۾ ڍڪجي رهجي ويو هو، الله خالص شڪل ۾ اُن جي اعلان جو انتظام ڪيو آهي. اِهو الله جي علم ۽ حڪمت جو ظهور آهي نه وري ڪنهن شخص جي ذاتي جوش جو معاملو.

يٰۤاَهۡلَ الۡكِتٰبِ لَا تَغۡلُوۡا فِیۡ دِیۡنِكُمۡ وَ لَا تَقُوۡلُوۡا عَلَی اللّٰهِ اِلَّا الۡحَقَّ ؕ اِنَّمَا الۡمَسِیۡحُ عِیۡسَی
ابۡنُ مَرۡیَمَ رَسُوۡلُ اللّٰهِ وَ كَلِمَتُهٗ ۚ اَلۡقٰهَاۤ اِلٰی مَرۡیَمَ وَ رُوۡحٌ مِّنۡهُ ۫ فَاٰمِنُوۡا بِاللّٰهِ وَ رُسُلِهٖ ۚ۟
وقف لازم وَ لَا تَقُوۡلُوۡا ثَلٰثَةٌ ؕ اِنۡتَهُوۡا خَیۡرًا لَّكُمۡ ؕ اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ؕ سُبۡحٰنَهٗۤ اَنۡ یَّكُوۡنَ لَهٗ وَلَدٌ ۘ
ع ۲۳ ۹ لَهٗ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِی الۡاَرۡضِ ؕ وَ كَفٰی بِاللّٰهِ وَكِیۡلًا ﴿۱۷۱﴾ لَنۡ یَّسۡتَنۡكِفَ الۡمَسِیۡحُ اَنۡ
یَّكُوۡنَ عَبۡدًا لِّلّٰهِ وَ لَا الۡمَلٰٓئِكَةُ الۡمُقَرَّبُوۡنَ ؕ وَ مَنۡ یَّسۡتَنۡكِفۡ عَنۡ عِبَادَتِهٖ وَ یَسۡتَكۡبِرۡ
فَسَیَحۡشُرُهُمۡ اِلَیۡهِ جَمِیۡعًا ﴿۱۷۲﴾ فَاَمَّا الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَیُوَفِّیۡهِمۡ
اُجُوۡرَهُمۡ وَ یَزِیۡدُهُمۡ مِّنۡ فَضۡلِهٖ ۚ وَ اَمَّا الَّذِیۡنَ اسۡتَنۡكَفُوۡا وَ اسۡتَكۡبَرُوۡا فَیُعَذِّبُهُمۡ
عَذَابًا اَلِیۡمًا ۬ۙ وَّ لَا یَجِدُوۡنَ لَهُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ وَلِیًّا وَّ لَا نَصِیۡرًا ﴿۱۷۳﴾

اي اهل ڪتاب! پنهنجي دين ۾ حد کان نه لنگهو ۽ الله بابت حق کان سواءِ ڪجھ نه چئو. مسيح عيسيٰ پٽ مريم رڳو الله جو هڪ رسول ۽ سندس ڪلمو آهي جو ان مريم ڏانهن پهچايو هو ۽ سندس طرفان هڪ روح آهي. پوءِ الله ۽ سندس رسولن تي ايمان آڻيو ۽ اِهو نه چئو ته خدا ٽي آهن. باز اچو، اِهوئي توهان لاءِ بهتر آهي. معبود ته فقط هڪ الله ئي آهي. ۽ اُهو اولاد هئڻ کان پاڪ آهي. ۽ انهيءَ جو آهي جيڪو ڪجھ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو ڪجھ زمين ۾ آهي ۽ الله ئي ڪم جوڙڻ لاءِ ڪافي آهي. مسيح کي خود الله جو ٻانهو هجڻ کان هرگز عار نه هوندو ۽ نه وري مقرب فرشتن کي هوندو. ۽ جيڪو الله جي بندگيءَ کان عار ڪندو ۽ تڪبر ڪندو، ته الله ضرور سڀني کي پاڻ وٽ جمع ڪندو. پوءِ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ جن نيڪ ڪم ڪيا، ته اهو کين سندن پورو پورو اجر ڏيندو ۽ پنهنجي فضل سان انهن کي وڌيڪ به ڏيندو. ۽ جن ماڻهن عار ڪيو ۽ تڪبر ڪيو هوندو، انهن کي دردناڪ عذاب ڏيندو ۽ اهي الله کان سواءِ ڪنهن کي به پنهنجو دوست ۽ مددگار نه لهندا. ۱۷۱-۱۷۳

---

ماڻهوءَ جي اِها ڪمزوري آهي ته ڪنهن شيءِ ۾ ڪو امتيازي پهلو ڏسي ٿو ته ان جي باري ۾ مبالغہ آميز تصور قائم ڪري ٿو وٺي. هو ان جو مقام مقرر ڪرڻ ۾ حد کان لنگهي ٿو وڃي. انهيءَ جو نالو غلو آهي. شرڪ ۽ شخصيت پرستيءَ جا سڀئي قسم اصل ۾ انهيءَ غلو جي پيداوار آهن.

دين ۾ غلو اِهو آهي ته دين ۾ ڪنهن به شيءِ جو جيڪو درجو آهي، ان کي ان جي اصل جاءِ تي نه رکيو وڃي، بلڪ ان کي وڌائي گهٽو وڏو درجو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. الله پنهنجي هڪ ٻانهي

ڪي پيءُ جي بغير پيدا ڪري ته چيو ويجي ته اِهو خدا جو پٽ آهي. الله ڪنهن کي ڪو وڏو مرتبو ڏئي ڇڏي ته سمجهيو ويجي ته اُها ڪا مٿانهين شخصيت آهي، جيڪا بشري غلطين کان پاڪ آهي. دنيا جي آب تاب کان بچڻ جي تاڪيد ڪئي ويجي ته ان کي وڌائي دنيا کي ترڪ ڪرڻ تائين پهچائي ڇڏجي. زندگيءَ جي ڪنهن پهلو جي باري ۾ ڪجھ حڪم ڏنا وڃن ته ان ۾ مبالغو ڪري ان جي بنياد تي هڪ پورو ديني فلسفو ٺاهي ڇڏجي. اهڙي قسم جون سڀ صورتون جن ۾ ڪنهن ديني شيءِ کي ان جي اصلي مقام کان وڌائي مبالغہ آميز درجو ڏنو ويجي ته اهو غلو جي فهرست ۾ شامل ٿيندو.

هر قسم جون طاقتون صرف الله کي حاصل آهن. ان ڪانسواءِ جيتريون به شيون آهن. سڀ عاجز ۽ محڪوم آهن. انسان پنهنجي شعور جي ڪمال درجي تي پهچي جيڪا شيءِ دريافت ڪري ٿو، اُها هِي آهي ته خدا قادر مطلق آهي ۽ هو پاڻ ان جي مقابلي ۾ عاجز مطلق. پيغمبر ۽ فرشتا اُن شعور ۾ سڀني کان اڳيان هوندا آهن. ان ڪري اُهي خدا جي قدرت ۽ پنهنجي عجز جي اعتراف ۾ به سڀ کان اڳيان هوندا آهن. اِهو اعتراف ئي انسان جو اصل امتحان آهي. جنهن کي پنهنجي عجز جو شعور ٿي ويجي، ان خدا سان پنهنجي تعلق کي سڃاڻي ورتو ۽ جنهن کي پنهنجي عجز جو شعور نہ هجي ته هو خدا سان پنهنجي تعلق کي سمجهڻ کان محروم رهجي ويو. پهريون شخص اڪين وارو آهي جيڪو ڪاميابيءَ سان پنهنجي منزل کي پهچندو. ٻيو شخص انڌو آهي جنهن جي لاءِ ان ڪانسواءِ ڪو انجام نہ آهي ته اهو ڀٽڪندو رهي، ايستائين جو ذلت جي کڏ ۾ وڃي ڪري.

يٰاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمْ بُرْهَانٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكُمْ نُوْرًا مُّبِيْنًا ﴿١٧٤﴾ فَاَمَّا
الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَ اعْتَصَمُوْا بِهٖ فَسَيُدْخِلُهُمْ فِيْ رَحْمَةٍ مِّنْهُ وَ فَضْلٍ ۙ وَّ يَهْدِيْهِمْ
اِلَيْهِ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا ﴿١٧٥﴾ يَسْتَفْتُوْنَكَ ؕ قُلِ اللّٰهُ يُفْتِيْكُمْ فِي الْكَلٰلَةِ ؕ اِنِ امْرُؤٌا هَلَكَ
لَيْسَ لَهٗ وَلَدٌ وَّ لَهٗٓ اُخْتٌ فَلَهَا نِصْفُ مَا تَرَكَ ۚ وَ هُوَ يَرِثُهَآ اِنْ لَّمْ يَكُنْ لَّهَا وَلَدٌ ؕ فَاِنْ
كَانَتَا اثْنَتَيْنِ فَلَهُمَا الثُّلُثٰنِ مِمَّا تَرَكَ ؕ وَ اِنْ كَانُوْٓا اِخْوَةً رِّجَالًا وَّ نِسَآءً فَلِلذَّكَرِ مِثْلُ
٢٤ ع حَظِّ الْاُنْثَيَيْنِ ؕ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اَنْ تَضِلُّوْا ؕ وَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿١٧٦﴾ ع

اي انسانو! توهان وٽ توهان جي رب جي طرفان هڪ دليل اچي چڪو آهي ۽ اسان توهان ڏانهن هڪ واضح روشني به نازل ڪئي آهي. پوءِ جن ماڻهن الله تي ايمان آندو ۽ ان کي انهن مضبوطيءَ سان پڪڙيو، انهن کي ضرور الله پنهنجي رحمت ۽ فضل ۾ داخل ڪندو ۽ انهن کي پاڻ ڏانهن سڌي رستي جي رهنمائي ڪندو. ماڻهو توکان حڪم پڇن ٿا. چئو الله اوهان کي ڪلاله بابت حڪم ڪري ٿو. جيڪڏهن ڪو اهڙو شخص مري وڃي جنهن کي ڪو به اولاد نہ هجي ۽ رڳو هڪ ڀيڻ هجي ته اُن لاءِ ڇڏيل ملڪيت جو اڌ آهي. ۽ اُهو مرد هن ڀيڻ جو وارث ٿيندو، جيڪڏهن ان ڀيڻ کي ڪو به اولاد نہ هجي. ۽ جيڪڏهن به ڀينرون آهن ته انهن لاءِ ڇڏيل ملڪيت مان ٻه ٽهايون آهن ۽ جيڪڏهن گهڻا ڀائر ۽ ڀينر مرد عورتون آهن ته هڪ مرد جو حصو ٻن عورتن جي برابر آهي. الله اوهان لاءِ بيان ڪري ٿو ته جيئن اوهين گمراهہ نہ ٿيو ۽ الله هر شيءِ جو ڄاڻڻ وارو آهي. ١٧٤-١٧٦

الله جي طرفان جڏهن ان جي پڪار انسانن جي سامهون بلند ٿيندي آهي تہ اُها اِهڙي پڌري صورت ۾ بلند ٿيندي آهي جو تاريڪين کي ختم ڪري حقيقتن کي آخري حد تائين روشن ڪري ڇڏي. اُن سان گڏ اهڙا دليل هوندا آهن جن جو رد ڪرڻ ڪنهن جي لاءِ ممڪن نہ هجي. هو ان جو مذاق ہ اڏاري سگهن ٿا، پر دليل جي زبان ۾ ان کي رد نہ ٿا ڪري سگهن. خدا اُهو آهي جيڪو سچ کي ڪڍي ٿو تہ روشني ۽ اونداهي هڪٻئي کان جدا ٿي ويندڻيون آهن. خدا جي اِهائي قدرت اُن جي پڪار ۾ بہ ظاهر ٿيندي آهي. ان کان پوءِ حق ۽ باطل هڪٻئي کان اِهڙي طرح الڳ ٿي ويندا آهن جو ڪنهن اکين واري جي لاءِ ان جو ڄاڻڻ ناممڪن نہ رهي. جيئن تہ سچ کي ڏسڻ جي لاءِ ضروري آهي تہ ماڻهو پنهنجي اک کولي، اهڙي طرح خدا جي پڪار مان هدايت وٺڻ جي لاءِ ضروري آهي تہ ماڻهو ان تي ڌيان ڏي، جيڪو شخص ڌيان نہ ڏيندو، اُهو خدا جي پڪار جي وچ ۾ رهي بہ ان کان محروم رهندو.

انهيءَ سان گڏ اهو بہ ضروري آهي تہ حق کي مضبوطي سان پڪڙيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ موجوده دنيا امتحان جي دنيا آهي. هتي شيطان هر ماڻهو جي پويان لڳل آهي جيڪو طرح طرح جي دوکي ۾ وجهي ماڻهو کي حق کان پري ڪندو رهي ٿو. جيڪڏهن ماڻهو شيطان جي وسوسن سان وڙهي حق جو ساٿ ڏيڻ جو فيصلو نہ ڪري تہ يقينًا شيطان اُن کي گمراهہ ڪري ڇڏيندو. جيئن تہ آزمائشن جي هن دنيا ۾ انسان اڪيلو نہ آهي، جيڪي ماڻهو خدا ڏانهن هلڻ چاهيندا، انهن کي هر موڙ تي خدا جي رهنمائي حاصل ٿيندي. اُهي خدا جي مدد سان منزل تي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيندا. جڏهن ماڻهوءَ جو اهو حال ٿي وڃي تہ هو رڳو حق کي اهميت ڏي تہ الله جي توفيق سان اُن جي اندر اِها صلاحيت پيدا ٿيندي آهي جو هو خالص حق تي مضبوطي سان ڄمي بيهي ۽ ٻين رستن ۾ ڀٽڪڻ کان بچيل رهي. وراثت ۽ ڇڏيل ملڪيت جا حڪم ٻڌائيندي اِهو چوڻ تہ ”الله پنهنجو حڪم بيان ڪري ٿو تہ جيئن اوهان گمراهي ۾ نہ پئو“ ظاهر ڪري ٿو تہ وراثت ۽ ڇڏيل ملڪيت جا مسئلا ڪي معمولي مسئلا نہ آهن. اُهي انهن معاملن مان آهن جن ۾ الله جي ٻڌايل قاعدي جي پابندي نہ ڪرڻ ماڻهو کي گمراهي جي ڪڏ ۾ ڪيرائي ڇڏيندي آهي.

آياتها ١٢٠ (٥) سُوْرَةُ الْمَآئِدَةِ مَدَنِيَّةٌ (١١٢) رکوعاتها ١٦

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

منزل ٢ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَوْفُوْا بِالْعُقُوْدِ ۬ؕ اُحِلَّتْ لَكُمْ بَهِيْمَةُ الْاَنْعَامِ اِلَّا مَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ غَيْرَ
مُحِلِّى الصَّيْدِ وَ اَنْتُمْ حُرُمٌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَحْكُمُ مَا يُرِيْدُ ﴿١﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُحِلُّوْا
شَعَآئِرَ اللّٰهِ وَ لَا الشَّهْرَ الْحَرَامَ وَ لَا الْهَدْىَ وَ لَا الْقَلَآئِدَ وَ لَاۤ اٰمِّيْنَ الْبَيْتَ الْحَرَامَ
يَبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنْ رَّبِّهِمْ وَ رِضْوَانًا ؕ وَ اِذَا حَلَلْتُمْ فَاصْطَادُوْا ؕ وَ لَا يَجْرِمَنَّكُمْ شَنَاٰنُ
قَوْمٍ اَنْ صَدُّوْكُمْ عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ اَنْ تَعْتَدُوْا ۘ وَ تَعَاوَنُوْا عَلَى الْبِرِّ وَ التَّقْوٰى ۪ وَ وقف لازم
لَا تَعَاوَنُوْا عَلَى الْاِثْمِ وَ الْعُدْوَانِ ۪ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٢﴾ الربع

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.
اي ايمان وارؤ! پنهنجن انجامن کي پورو ڪريو. اوهان لاءِ چوپايا جانور حلال ڪيا ويا آهن سواءِ انهن جي جن بابت اوهان کي پڙهي ٻڌائجي ٿو. پر احرام جي حالت ۾ شڪار کي حلال نہ سمجهو. الله حڪم ڏي ٿو جيڪي چاهي ٿو. اي ايمان وارؤ! بي حرمتي نہ ڪريو الله جي نشانين جي ۽ نہ حرمت وارن مهينن جي ۽ نہ حرم ۾ قربانيءَ وارن جانورن جي ۽ نہ پٽا وڌل نياز وارن جانورن جي ۽ نہ حرمت واري گهر ڏانهن اچڻ وارن جي، جيڪي پنهنجي رب جو فضل ۽ رضا ڳولڻ نڪتا آهن. ۽ جڏهن اوهان احرام لاهيو تہ شڪار ڪريو ۽ ڪنهن قوم جي دشمني جنهن اوهان کي مسجد الحرام کان روڪيو هو، اوهان کي انهن سان زيادتي ڪرڻ تي نہ اڀاري. اوهين نيڪيءَ ۽ تقويٰ ۾ هڪٻئي جي مدد ڪريو ۽ گناهہ ۽ زيادتي ۾ هڪٻئي جي مدد نہ ڪريو. الله کان ڊڄو. بيشڪ الله سخت عذاب ڏيڻ وارو آهي. ١-٢

---

مؤمن جي زندگي هڪ پابند زندگي آهي. هو دنيا ۾ آزاد آهي تہ جيڪو چاهي ڪري. ان جي باوجود هو الله کي حاڪم تسليم ڪندي پنهنجي پاڻ کي پابند بڻائي ٿو وٺي. اُهو پنهنجي پاڻ کي عهد جي رسي ۾ ٻڌي ٿو ڇڏي. الله جو معاملو هجي يا ٻانهن جو معاملو. ٻنهي قسمن جي معاملن ۾ هن خود کي پابند ڪري ورتو آهي تہ هو آزاديءَ سان عمل نہ ڪري بلڪ خدا جي حڪم جي مطابق عمل ڪري. هو انهن شين کي پنهنجي خوراڪ بڻائي جيڪي خدا ان جي لاءِ حلال ڪيون آهن ۽ جيڪي شيون خدا حرام ڪيون آهن. انهن کي ڪائڻ ڇڏي ڏي. ڪنهن موقعي تي جيڪڏهن ڪنهن جائز شيءِ کان بہ روڪيو وڃي جيئن تہ احرام جي حالت ۾ يا حرام مهينن جي باري ۾ حڪمن مان واضح ٿيندو آهي تہ ان کي بہ بغير ڪنهن اعتراض جي مڃي وٺي. ڪا شيءِ ڪنهن دين جي حقيقت جي علامت بڻجي وڃي تہ ان جو احترام ڪري، ڇاڪاڻ تہ اهڙي شيءِ جو احترام خود دين جو احترام آهي ۽ اهو سڀ ڪجهہ الله جي خوف کان ڪري، نہ وري ڪنهن ٻئي جذبي سان.

ماڻهو عام حالتن ۾ الله جي حڪمن تي عمل ڪندو آهي، پر جڏهن ڪا غيرمعمولي حالت پيدا ٿيندي آهي تہ هو بدلجي ٻيو انسان بڻجي ٿو وڃي. الله کان ڊڄڻ وارو اوچتو الله کان بي خوف انسان بڻجي ويندو آهي. اُهو ان موقعي تي ٿيندو آهي جڏهن ڪنهن جي ڪا مخالفاڻي حرڪت اُن کي ڀڙڪائي ٿي ڇڏي. اِهڙي موقعي تي ماڻهو انصاف جي حدن کي وساري ٿو ڇڏي ۽ اهو چاهڻ لڳي ٿو تہ ڪهڙي طرح بہ هو پنهنجي مد مقابل کي ذليل ۽ ناڪام ڪري. پر اهڙي قسم جي دشمنيءَ واري ڪارروائي الله جي نزديڪ جائز نہ آهي، ايستائين جو ان وقت بہ اجازت نہ آهي جڏهن تہ مسجد حرام جي زيارت جهڙي پاڪ ڪم کان ڪنهن ٻئي کي روڪيو هجي. ڪو شخص اهڙي قسم جي ظالماڻي ڪارروائي ڪرڻ جي لاءِ اُٿي ۽ ڪجهہ ماڻهو ان جو ساٿ ڏيڻ لڳن، تہ اهو گناهہ جي راهہ ۾ ڪنهن جي مدد ڪرڻ ٿيندو. جڏهن تہ الله کان ڊڄڻ وارن جو طريقو اُهو ٿيڻ کپي، تہ اُهي رڳو نيڪيءَ جي ڪمن ۾ ٻين جي مدد ڪن. جيڪو ماڻهو حق تي هجي ان جو ساٿ ڏيڻ ۽ جيڪو ناحق تي هجي ان جو ساٿ نہ ڏيڻ هن دنيا جو سڀني کان مشڪل ڪم آهي. پر انهيءَ مشڪل ڪم تي ماڻهوءَ جي آخرت جي انجام جو فيصلو ٿيڻ وارو آهي.

حُرِّمَتْ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةُ وَ الدَّمُ وَ لَحْمُ الْخِنْزِيْرِ وَ مَآ اُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ بِهٖ وَ الْمُنْخَنِقَةُ
وَ الْمَوْقُوْذَةُ وَ الْمُتَرَدِّيَةُ وَ النَّطِيْحَةُ وَ مَآ اَكَلَ السَّبُعُ اِلَّا مَا ذَكَّيْتُمْ ۫ وَ مَا ذُبِحَ عَلَى

النُّصُبِ وَ اَنۡ تَسۡتَقۡسِمُوۡا بِالۡاَزۡلَامِ ؕ ذٰلِكُمۡ فِسۡقٌ ؕ اَلۡيَوۡمَ يَئِسَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا مِنۡ
دِيۡنِكُمۡ فَلَا تَخۡشَوۡهُمۡ وَ اخۡشَوۡنِ ؕ اَلۡيَوۡمَ اَكۡمَلۡتُ لَكُمۡ دِيۡنَكُمۡ وَ اَتۡمَمۡتُ عَلَيۡكُمۡ
نِعۡمَتِىۡ وَ رَضِيۡتُ لَكُمُ الۡاِسۡلَامَ دِيۡنًا ؕ فَمَنِ اضۡطُرَّ فِىۡ مَخۡمَصَةٍ غَيۡرَ مُتَجَانِفٍ لِّاِثۡمٍ ۙ
فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ۝٣

اوهان تي حرام ڪيو ويو آهي مئل جانور ۽ رت ۽ سوئر جو گوشت ۽ جنهن شيءِ کي الله جي نالي کانسواءِ ٻئي جي نالي سان سڏيو وڃي ۽ گهُٽو ڏئي ماريل ۽ ڌڪ سان مئل ۽ ڪِرڻ سان مئل ۽ ڏور جي سگ سان مئل ۽ جيڪو ڦاڙيندڙ (جانور) کاڌو. جنهن کي (مرڻ کان) اڳ ذبح ڪَيوَ ۽ جو آستانن تي ذبح ڪجي ۽ اوهان جو تيرن سان ورهائڻ. اهي گناهه جا ڪم آهن. اڄ ڪافر اوهان جي دين کان نا اميد ٿي ويا، تنهن ڪري انهن کان نہ ڊڄو، ۽ مون کان ڊڄو. اڄ مون اوهان جي لاءِ اوهان جي دين کي مڪمل ڪري ڇڏيو ۽ اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪري ڇڏي ۽ اوهان لاءِ اسلام کي دين جي حيثيت سان پسند ڪري ورتو. پر جيڪو بک جي ڪري لاچار ٿي وڃي، پر گناهه ڏانهن لاڙو رکندڙ نہ هجي تہ الله بخشڻ وارو مهربان آهي. ٣

---

ڪجھ جانور پنهنجي فطرت ۽ صفتن جي ڪري ان قابل نہ هوندا آهن تہ انسان انهن کي پنهنجي خوراڪ بڻائي. سُوئر کي الله تعاليٰ انهيءَ سبب جي ڪري حرام قرار ڏنو. اِهڙي طرح جانور جي جسم ۾ گوشت کان علاوه ڪيترين ٻين شيون بہ هونديون آهن جيڪي انساني خوراڪ بڻجڻ جي قابل نہ آهن. انهن مان رت بہ آهي. ان ڪري اسلام ۾ جانور کي ذبح ڪرڻ جي هڪ خاص صورت مقرر ڪئي وئي آهي، تہ جيئن جانور جي جسم مان رت پوري طرح وهي نڪري وڃي. ذبح کان سواءِ جانور کي مارڻ جا جيڪي طريقا آهن، انهن ۾ رت جانور جي گوشت ۾ جذب ٿي ويندو آهي. اُهو پوري طرح سان وهي نہ ٿو نڪري. انهيءَ ڪري شريعت ۾ مردار جي سيني قسمن کي بہ حرام ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ مردار جانور جو رت فورًا اُن جي گوشت ۾ جذب ٿي ويندو آهي. اهڙي طرح اهڙو گوشت بہ حرام ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ڪهڙي بہ قسم جي مشرڪاڻي عقيدي جي ملاوٽ هجي. مثلاً غير الله جو نالو وٺي ڪري ذبح ڪرڻ يا غيرالله جي قرب جي لاءِ جانور کي قربان ڪرڻ. جيئن تہ الله پنهنجي خاص رحمت سان اِها گنجائش رکي آهي تہ ڪنهن کي بک جي اهڙي مجبوري پيش اچي وڃي جو ان کي موت يا حرام خوراڪ مان ڪنهن هڪ کي وٺڻو پوي، تہ اُهو موت جي مقابلي ۾ حرام خوراڪ کي اختيار ڪري.

”اڄ مون اوهان جي دين کي اوهان لاءِ ڪامل ڪري ڇڏيو“ يعني توهان کي جيڪي حڪم ڏيڻا هئا اُهي سڀ ڏنا ويا. توهان لاءِ جيڪو ڪجھ نازل ڪرڻ مقدر ڪيو ويو هو، اُهو سڀ نازل ڪيو ويو. هتي دين جي ڪامل ڪرڻ جو ذڪر نہ آهي، بلڪ امت محمدي تي جيڪو قرآن نازل ٿيڻ شروع ٿيو هو، اُن جي پوري ٿيڻ جو اعلان آهي. اهو نزول جي تڪميل جو ذڪر آهي نہ وري دين جي تڪميل جو. ان ڪري لفظ اِهي نہ آهن تہ ”اَڄ مون دين کي ڪامل ڪري ڇڏيو“ حقيقت اِها آهي تہ خدا جو دين هر زماني ۾ پنهنجي ڪامل صورت ۾ انسان کي ڏنو ويو هو. خدا ڪڏهن بہ ناقص دين انسان وٽ نہ موڪليو.

قرآن کي مڃڻ واري اُمت کي خدا ايترن مضبوط بنيادن تي قائم ڪري ڇڏيو آهي تہ اُها

پنهنجي قوت جي لحاظ ڪان هر ٻاهرين خطري جو نشانو بڻجڻ ڪان ٻاهر نڪري وئي آهي. هاڻي جيڪڏهن هن ڪي ڪو نقصان پهچندو تہ سندس اندروني ڪمزورين جي ڪري، نہ وري خارجي حملن جي ڪري ۽ اندر جي ڪمزورين ڪان پاڪ رهڻ جي سيني ڪان وڏي ضمانت اِها آهي تہ اُن جا ماڻهو الله ڪان ڊڄڻ وارا هجن.

يَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَآ اُحِلَّ لَهُمْ ؕ قُلْ اُحِلَّ لَكُمُ الطَّيِّبٰتُ ۙ وَ مَا عَلَّمْتُمْ مِّنَ الْجَوَارِحِ
مُكَلِّبِيْنَ تُعَلِّمُوْنَهُنَّ مِمَّا عَلَّمَكُمُ اللّٰهُ ۫ فَكُلُوْا مِمَّاۤ اَمْسَكْنَ عَلَيْكُمْ وَ اذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ
عَلَيْهِ ۪ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ۝٤ اَلْيَوْمَ اُحِلَّ لَكُمُ الطَّيِّبٰتُ ؕ وَ طَعَامُ
الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ حِلٌّ لَّكُمْ ۪ وَ طَعَامُكُمْ حِلٌّ لَّهُمْ ۫ وَ الْمُحْصَنٰتُ مِنَ الْمُؤْمِنٰتِ وَ
الْمُحْصَنٰتُ مِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ اِذَاۤ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ مُحْصِنِيْنَ
غَيْرَ مُسٰفِحِيْنَ وَ لَا مُتَّخِذِيْۤ اَخْدَانٍ ؕ وَ مَنْ يَّكْفُرْ بِالْاِيْمَانِ فَقَدْ حَبِطَ عَمَلُهٗ ۫ وَ هُوَ
فِي الْاٰخِرَةِ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ۝٥ ع

هو پڇن ٿا تہ انهن جي لاءِ ڇا حلال آهي. چئو اوهان لاءِ پاڪ شيون حلال آهن ۽ توهان لاءِ شڪار ٽيل جانور بہ حلال آهي. جيڪو توهان جو شڪار (پاليل) جانور شڪار ڪري، جن ڪي توهان سکيا ڏني آهي. جيئن اوهانکي الله علم عطا فرمايو آهي، ۽ شڪاري جانور ڪي ڇڏڻ وقت الله جو نالو ڇئي شڪار پڪڙڻ لاءِ ڇڏيو، هو جيڪي پڪڙين سو کائو ۽ ان تي الله جو نالو وٺو ۽ الله ڪان ڊڄو. بيشڪ الله جلد حساب وٺڻ وارو آهي. اَڄ اوهان لاءِ سڀ پاڪ شيون حلال ڪيون ويون. ۽ اهل ڪتاب وارن جو ڪاڌو توهان لاءِ حلال آهي ۽ توهان جو ڪاڌو انهن لاءِ حلال آهي. ۽ حلال آهن توهان لاءِ پاڪدامن مسلمان عورتن منجهان ۽ پاڪدامن عورتون انهن مان جن ڪي توهان ڪان اڳ ڪتاب ڏنو ويو، جڏهن توهان ڪين سندن مهر ڏئي ڇڏيو. اهڙي طرح جو توهان نڪاح ۾ آڻڻ وارا هجو نہ وري پڌري بدڪاري ڪريو ۽ نہ ڳجهي آشنائي ڪريو. ۽ جيڪو شخص ايمان سان گڏ ڪفر ڪندو تہ اُن جا عمل ڇٽ ٿي ويندا ۽ اُهو آخرت ۾ نقصان پائڻ وارن مان هوندو. ٤-٥

---

اُهي سڀ شيون جن ڪي فطرت جي نگاهہ پاڪ ۽ صاف محسوس ڪري ٿي ۽ اُهي سڀ جانور جيڪي پنهنجي فطرت جي لحاظ ڪان انسان جي فطرت سان مناسبت رکن ٿا انسان جي لاءِ حلال آهن. البت شرط اهو آهي تہ ڪنهن ٻاهرين سبب جي ڪري انهن جي اندر ڪو شرعي يا فطري فساد نہ پيدا ٿيو هجي. جيئن تہ هن اصول ڪي انسان رڳو پنهنجي عقل سان پوريءَ طرح مقرر نہ ٿو ڪري سگهي، اُن ڪري اُن ڪي تفصيل سان بيان ڪيو ويو. سيکاريل جانور جو ڪيل شڪار بہ انهيءَ ڪري حلال آهي جو هو شڪار ڪي پنهنجي مالڪ لاءِ پڪڙي رکي ٿو، ڇڻ تہ هن ماڻهوءَ جي عادت سکي ورتي. اهڙو جانور ڇڻ شڪار جي معاملي ۾ خود ماڻهو جو قائم مقام بڻجي ويو.

حلال ۽ حرام جو قانون چاهي ڪيتري ئي تفصيل سان ٻڌايو وڃي، پر اهو رڳو ماڻهو جو پنهنجو ارادو ئي آهي جيڪو انهي ڪي ڪنهن شيءِ ڪان روڪي ٿو ۽ ڪنهن شيءِ ڏانهن وٺي وڃي ٿو.

ماڻهوءَ جي مٿان اصل نگران قانون نہ بلڪ اُهو خود آهي. جيڪڏهن ماڻهو خود نہ چاهي تہ قانون کي چاٽيندي بہ اُهو ان کان فرار جا رستا ڳولهي وٺندو. اهو رڳو الله جو خوف آهي جيڪو ماڻهو کي پابند ڪري ٿو تہ هو قانون جو لحاظ اُن جي اصل روح مطابق ڪري. ان ڪري حرام ۽ حلال جو قانون ٻڌائيندي اِهو چيو ويو: الله کان ڊڄو، الله جلد حساب وٺڻ وارو آهي.

مسلمان عورت جي لاءِ ڪنهن بہ حال ۾ جائز نہ آهي جو هو غير مسلم مرد سان نڪاح ڪري. پر مسلمان مردن کي خاص شرطن هيٺ اجازت ڏني وئي آهي تہ اُهي اهل ڪتاب عورتن سان نڪاح ڪري سگهن ٿا. هن گنجائش جي حڪمت اِها آهي تہ عورت جي فطرت متاثر ٿيڻ وارو مزاج رکندي آهي. اُن کان اِها اميد ڪري سگهجي ٿي تہ اُها عملي زندگي ۾ اچڻ کان پوءِ پنهنجي مسلمان مڙس ۽ مسلم سماج جو اثر قبول ڪري وٺي، اهڙي طرح نڪاح اُن جي لاءِ اسلام ۾ داخل ٿيڻ جو ذريعو بڻجي وڃي.

”جيڪو شخص ايمان کان انڪار ڪري تہ اُن جو عمل ضايع ٿي ويو“. يعني ايمان جي بغير عمل جي ڪا حقيقت نہ آهي. عمل اُهوئي آهي جيڪو خالص الله جي لاءِ ڪيو وڃي. جيڪو عمل الله جي لاءِ نہ هجي، اُهو خود پنهنجي لاءِ هوندو آهي. پوءِ خود پنهنجي لاءِ ڪيل عمل جي قيمت الله ڇو ڏي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِذَا قُمۡتُمۡ اِلَى الصَّلٰوةِ فَاغۡسِلُوۡا وُجُوۡهَكُمۡ وَ اَيۡدِيَكُمۡ اِلَى الۡمَرَافِقِ
وَ امۡسَحُوۡا بِرُءُوۡسِكُمۡ وَ اَرۡجُلَكُمۡ اِلَى الۡكَعۡبَيۡنِ ؕ وَ اِنۡ كُنۡتُمۡ جُنُبًا فَاطَّهَّرُوۡا ؕ وَ اِنۡ
كُنۡتُمۡ مَّرۡضٰۤى اَوۡ عَلٰى سَفَرٍ اَوۡ جَآءَ اَحَدٌ مِّنۡكُمۡ مِّنَ الۡغَآئِطِ اَوۡ لٰمَسۡتُمُ النِّسَآءَ فَلَمۡ
تَجِدُوۡا مَآءً فَتَيَمَّمُوۡا صَعِيۡدًا طَيِّبًا فَامۡسَحُوۡا بِوُجُوۡهِكُمۡ وَ اَيۡدِيۡكُمۡ مِّنۡهُ ؕ مَا يُرِيۡدُ
اللّٰهُ لِيَجۡعَلَ عَلَيۡكُمۡ مِّنۡ حَرَجٍ وَّ لٰـكِنۡ يُّرِيۡدُ لِيُطَهِّرَكُمۡ وَ لِيُتِمَّ نِعۡمَتَهٗ عَلَيۡكُمۡ
لَعَلَّكُمۡ تَشۡكُرُوۡنَ ﴿٦﴾

اي ايمان وارؤ! جڏهن اوهان نماز لاءِ اٿو تہ پنهنجا منهن ۽ هٿ نوڙين تائين ڌوئو ۽ پنهنجي مٿن تي مسح ڪريو ۽ پنهنجي پيرن کي ٻيڏين تائين ڌوئو ۽ جيڪڏهن تڙ جي حالت ۾ هجو تہ وهنجي پاڪ ٿيو. ۽ جيڪڏهن اوهان بيمار آهيو يا سفر ۾ هجو يا اوهان مان ڪو پاخاني مان ٿي اچي يا توهان عورت سان صحبت ڪئي هجي، پوءِ توهان کي پاڻي نہ ملي تہ پاڪ مٽيءَ سان تيمم ڪيو ۽ پنهنجي منهن ۽ هٿن تي منجهانئس مسح ڪريو. الله اوهان تي ڪنهن طرح تنگي ڪرڻ نہ ٿو گهري، بلڪ هو چاهي ٿو تہ اوهان کي پاڪ ڪري ۽ اوهان تي پنهنجي نعمت کي پورو ڪري تہ جيئن اوهين شڪر گذار ٿيو. - ٦

---

نماز جو مقصد ماڻهوءَ کي برائين کان پاڪ ڪرڻ آهي. وضو انهيءَ جي هڪ ظاهري تياري آهي. ماڻهو جڏهن نماز جو ارادو ڪري ٿو تہ پهرين هو پاڻيءَ وٽ وڃي ٿو، پاڻي وڏي نعمت آهي جيڪا ماڻهو جي لاءِ هر قسم جي گندگي کي ڌوئڻ جو بهترين ذريعو آهي. اهڙي طرح نماز بہ هڪ رباني چشمو آهي، جنهن ۾ وهنجي ماڻهو پنهنجي پاڻ کي بُرن جذبن ۽ گندن خيالن کان پاڪ ڪندو آهي.

ماڻهو وضو شروع ڪرڻ وقت پنهنجي هٿن تي پاڻي وجهندو آهي تہ ڇڻ عمل جي زبان ۾ اِها دعا

کندو آهي تہ اي خدا! منهنجي هٿن کي برائيءَ کان بچاءِ ۽ انهن جي ذريعي جيکي برايون مون کان ٿيون آهن، انهن کي ڌوئي صاف ڪري ڇڏ. پوءِ هو پنهنجي وات ۾ پاڻي وجهندو آهي ۽ پنهنجي چهري کي ڌوئيندو آهي تہ ان جو روح چئي ڏيندو آهي تہ اي خدا! مون پنهنجي وات ۾ جيڪا غلط خوراڪ وڌي هجي، مون پنهنجي زبان سان جيڪي برا ڪلما چيا هجن، منهنجي اکين جيڪا بري شيءِ ڏٺي هجي انهن سڀني کي تون مون کان پري ڪري ڇڏ. پوءِ هو پاڻي ڪٽي پنهنجي هٿن کي مٿي تي ڦيرائي ٿو تہ ان جو سڄو وجود هن دعا ۾ بدلجي ويندو آهي تہ اي خدا! منهنجي ذهن جيڪي بريون ڳالهيون سوچيون هجن ۽ جيڪي غلط منصوبا ٺاهيا هجن، انهن جي اثرن کان مون کي پاڪ ڪر ۽ منهنجي ذهن کي پاڪ صاف ذهن بڻائي ڇڏ. پوءِ جڏهن هو پنهنجن پيرن کي ڌوئيندو آهي تہ ان جو اِهو عمل ان جي لاءِ پنهنجي رب جي سامهون اِها درخواست بڻجي ويندو آهي تہ اي منهنجا رب! منهنجي پيرن تان برائيءَ جي مير ۽ مٽيءَ کي ڌوئي ڇڏ. انهن کي اهڙو بڻاءِ تہ جيئن هو سچائي ۽ انصاف جي رستي کان سواءِ ڪنهن ٻئي رستي تي ڪڏهن نہ هلن. اهڙي طرح پورو وضو ماڻهوءَ جي لاءِ چڻ ان دعا جي عمل واري صورت بڻجي ٿو وڃي تہ: اي خدا مون کي غلطي کان واپس موٽڻ وارو بڻاءِ ۽ مون کي براين کان پاڪ رهڻ وارو بڻاءِ.

عام حالتن ۾ پاڪائيءَ جو احساس پيدا ڪرڻ جي لاءِ وضو ڪافي آهي، پر جنابت جي حالت هڪ غير معمولي حالت آهي، ان ڪري ان ۾ سڄي جسم جو ڌوئڻ (غسل) ضروري قرار ڏنو ويو آهي. وضو جيڪڏهن ننڍو غسل آهي تہ غسل وڏو وضو آهي. جيئن تہ الله تعاليٰ کي اهو پسند نہ آهي تہ هو ٻانهن کي غير ضروري مشقت ۾ وجهي، ان لاءِ معذوريءَ جي حالتن ۾ پاڪائي جي احساس کي تازو ڪرڻ جي لاءِ تيمم کي ڪافي قرار ڏنو ويو. وضو ۽ غسل جا سادا طريقا الله جون تمام وڏيون نعمتون آهن. اِهڙي طرح طهارت شرعي کي طهارت جسماني سان جوڙيو ويو آهي. معذوري جي حالت ۾ تيمم جي اجازت اجا وڏيڪ نعمت آهي، ڇاڪاڻ تہ اِها مبالغي کان بچائڻ واري آهي، جنهن ۾ اڪثر مذهب مبتلا ٿيا.

وَ اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَ مِيْثَاقَهُ الَّذِيْ وَاثَقَكُمْ بِهٖۤ ۙ اِذْ قُلْتُمْ سَمِعْنَا وَ اَطَعْنَا ؗ وَ
اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ۝٧ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْا قَوّٰمِيْنَ لِلّٰهِ
شُهَدَآءَ بِالْقِسْطِ ؗ وَ لَا يَجْرِمَنَّكُمْ شَنَاٰنُ قَوْمٍ عَلٰۤى اَلَّا تَعْدِلُوْا ؕ اِعْدِلُوْا ۫ هُوَ اَقْرَبُ
لِلتَّقْوٰى ؗ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ۝٨ وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا
الصّٰلِحٰتِ ۙ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ۝٩ وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَاۤ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ
الْجَحِيْمِ ۝١٠ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ هَمَّ قَوْمٌ اَنْ يَّبْسُطُوْۤا
ع ٢ ٦ اِلَيْكُمْ اَيْدِيَهُمْ فَكَفَّ اَيْدِيَهُمْ عَنْكُمْ ۚ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ وَ عَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ۝١١

۽ پاڻ تي الله جي ڪيل نعمت کي ياد ڪريو ۽ ان عهد کي ياد ڪريو جيڪو ان توهان کان ورتو آهي جڏهن اوهان چيو هو تہ اسان ٻڌو ۽ اسان مڃيون سون. ۽ الله کان ڊڄو بيشڪ الله دلين جي ڳالهين کي بہ ڄاڻي ٿو. اي

ايمان وارؤ! الله جي لاءِ قائم رهڻ وارا ۽ انصاف سان شاهدي ڏيڻ وارا ٿيو. ۽ ڪنهن گروهه جي دشمني اوهان کي ان تي نہ اُڀاري جو اوهين انصاف نہ ڪريو. انصاف ڪريو اهوئي تقويٰ جي گهڻو ويجهو آهي ۽ الله کان ڊڄو بيشڪ الله کي خبر آهي جيڪو اوهين ڪريو ٿا. جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن نيڪ عمل ڪيا، انهن سان الله جو وعدو آهي تہ انهن جي لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي ۽ جنهن انڪار ڪيو ۽ اسان جي نشانين کي ڪوڙو ڪيو، اهڙا ماڻهو دوزخ وارا آهن. اي ايمان وارؤ! پاڻ تي الله جو احسان ياد ڪريو، جڏهن هڪ قوم ارادو ڪيو هو تہ اوهان تي هٿ ڪڍي، پر الله سندن هٿن کي اوهان تي ڪجهڻ کان روڪي ڇڏيو. ۽ الله کان ڊڄو ۽ ايمان وارن کي الله تي ئي ڀروسو ڪرڻ گهرجي ٧-١١

---

ايمان هڪ عهد آهي، جيڪو ٻانهي ۽ خدا جي درميان ٿيندو آهي. ٻانهو اهو وعدو ڪري ٿو تہ هو دنيا ۾ الله کان ڊڄي رهندو ۽ الله ان جو ضامن هوندو آهي تہ هو دنيا ۽ آخرت ۾ ٻانهي جو ڪفيل ٿي ويندو. ٻانهي کي پنهنجي عهد ۾ پورو ٿيڻ جي لاءِ ٻن ڳالهين جو ثبوت ڏيڻو آهي: هڪ اِها تہ هو الله جو قوام بڻجي ويندو. يعني هو خدا جي ڳالهين تي مضبوطي سان قائم رهڻ وارو هوندو. ان جو وجود هر موقعي تي بلڪل صحيح جواب پيش ڪري جيڪو ٻانهي کي پنهنجي رب جي لاءِ پيش ڪرڻ کپي. جڏهن هو ڪائنات کي ڏسي تہ ان جو ذهن خدا جي قدرتن ۽ عظمتن جي تصور کان ڀرجي وڃي. هو جڏهن پنهنجي پاڻ کي ڏسي تہ ان کي پنهنجي سڄي زندگي خدا جو فضل ۽ احسان نظر اچي. ان جا جذبا جاڳن تہ رڳو الله جي لاءِ. ان جي توجهہ ڪنهن شيءِ کي پنهنجو مرڪز بڻائي تہ خدا کي بڻائي. ان جي محبت خدا جي لاءِ ۽ ان جا انديشا ۽ خوف خدا سان وابستہ هجن. ان جي يادن ۾ خدا سمائجي وڃي. هو خدا جي عبادت ۽ اطاعت ڪري. هو خدا جي رستي ۾ پنهنجو مال خرچ ڪري. هو پنهنجي پاڻ کي خدا جي دين جي رستي ۾ لڳائي خوش ٿيندو هجي.

عهد تي قائم رهڻ جو ٻيو شرط ٻانهن سان انصاف آهي. انصاف جو مطلب اهو آهي تہ ڪنهن شخص سان رُو رعايت جي بغير اهو سلوڪ ڪرڻ جنهن جو هو حق جي لحاظ کان مستحق آهي. معاملن ۾ حق تي هلڻ نہ وري پنهنجي خواهشن تي. هِن معاملي ۾ ٻانهي کي ايترو پابند ٿي هلڻو آهي جو هو اهڙن موقعن تي بہ پاڻ کي انصاف سان جوڙي رکي، جڏهن هو دشمنن ۽ باطل پرستن سان معاملو ڪري رهيو هجي، جڏهن شڪايتون ۽ ڏکايل يادون ان کي انصاف جي رستي کان ڦيرڻ لڳن.

دنيا ۾ خدا نشانين جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي، يعني اهڙن دليلن جي صورت ۾ جن کي رد ڪرڻ ماڻهوءَ جي وس ۾ نہ هجي. جڏهن ماڻهوءَ جي سامهون خدا جو دليل اچي ۽ اُهو ان کي مڃڻ جي بجاءِ لفظي بحث ڪرڻ لڳي تہ ان چڻ خدا جي نشانيءَ کي ڪوڙو ڪيو. اهڙا ماڻهو خدا وٽ سخت سزا ڀوڳيندا ۽ جن ماڻهن ان کي مڃي ورتو، اهي خدا جي انعام جا مستحق ٿيندا.

وَ لَقَدۡ اَخَذَ اللّٰهُ مِيۡثَاقَ بَنِيۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ ۚ وَ بَعَثۡنَا مِنۡهُمُ اثۡنَيۡ عَشَرَ نَقِيۡبًا ؕ وَ قَالَ اللّٰهُ اِنِّيۡ مَعَكُمۡ ؕ لَئِنۡ اَقَمۡتُمُ الصَّلٰوةَ وَ اٰتَيۡتُمُ الزَّكٰوةَ وَ اٰمَنۡتُمۡ بِرُسُلِيۡ وَ عَزَّرۡتُمُوۡهُمۡ وَ اَقۡرَضۡتُمُ اللّٰهَ قَرۡضًا حَسَنًا لَّاُكَفِّرَنَّ عَنۡكُمۡ سَيِّاٰتِكُمۡ وَ لَاُدۡخِلَنَّكُمۡ جَنّٰتٍ تَجۡرِيۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ ۚ فَمَنۡ كَفَرَ بَعۡدَ ذٰلِكَ مِنۡكُمۡ فَقَدۡ ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِيۡلِ ﴿١٢﴾ فَبِمَا

نَقْضِهِمْ مِّيْثَاقَهُمْ لَعَنّٰهُمْ وَ جَعَلْنَا قُلُوْبَهُمْ قٰسِيَةً ۚ يُحَرِّفُوْنَ الْكَلِمَ عَنْ مَّوَاضِعِهٖ ۙ وَ
نَسُوْا حَظًّا مِّمَّا ذُكِّرُوْا بِهٖ ۚ وَ لَا تَزَالُ تَطَّلِعُ عَلٰى خَآئِنَةٍ مِّنْهُمْ اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْهُمْ فَاعْفُ
عَنْهُمْ وَ اصْفَحْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٣﴾

۽ الله بني اسرائيل کان عهد ورتو ۽ اسان انهن ۾ ٻارهن سردار مقرر ڪيا. ۽ الله فرمايو تہ آءٌ اوهان سان گڏ آهيان. جيڪڏهن اوهان نماز قائم ڪندؤ ۽ زڪوٰة ادا ڪندؤ ۽ منهنجي رسولن تي ايمان آڻيندؤ ۽ سندن مدد ڪندؤ ۽ الله کي قرض حسنہ ڏيندؤ تہ آءٌ توهان کان توهان جا گناهہ ضرور پَري ڪندس ۽ توهان کي ضرور اهڙن باغن ۾ داخل ڪندس جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. ان کان پوءِ توهان مان جنهن شخص انڪار ڪيو سو سڌي رستي کان ڀٽڪي ويو. پوءِ سندن عهد ٽوڙڻ جي ڪري اسان مٿن لعنت ڪئي ۽ سندن دلين کي سخت ڪري ڇڏيو. هو ڪلام کي اُن جي جاءِ تان بدلي ڇڏين ٿا ۽ جيڪا ڪين نصيحت ڪئي وئي هئي سا گهڻي ڀاڱي وساري ويٺا. ۽ تون هميشہ انهن جي ڪنهن نہ ڪنهن خيانت کان واقف ٿيندو رهين ٿو. سواءِ ٿوڙن ماڻهن جي. انهن کي معاف ڪر ۽ انهن کان درگزر ڪر. الله نيڪي ڪرڻ وارن کي پسند ٿو ڪري. ١٢-١٣

---

بني اسرائيل کان انهن جي پيغمبرن جي معرفت خدا پرستي واري زندگي گذارڻ جو عهد ورتو ويو ۽ انهن جي ٻارهن قبيلن مان ٻارهن سردارن کي انهن جي نگراني لاءِ مقرر ڪيو ويو. بني اسرائيل کان جيڪو عهد ورتو ويو، اُهو اِهو هو تہ اُهي نماز جي ذريعي پاڻ کي الله وارو بڻائين. اُهي زڪوات جي صورت ۾ ٻانهن جا حق ادا ڪن. پيغمبرن جو ساٿ ڏئي هو پاڻ کي الله جي سڏ ڏانهن ٻيهارين ۽ الله جي دين جي ڪوشش ۾ پنهنجو سرمايو خرچ ڪن. انهن ڪمن جي ادائگي ۽ پنهنجي وچ ۾ اُن جي نگرانيءَ جو اجتماعي نظام قائم ڪرڻ کان پوءِ ئي اُهي خدا جي نظر ۾ اُن جا مستحق ٿين ها تہ خدا انهن جو ساٿي بڻجي. هو انهن کي پاڪ صاف ڪري انهيءَ قابل بڻائي جو اُهي جنت جي لطيف فضائن ۾ داخل ٿي سگهن. جنت ڪنهن کي عمل سان ئي ملندي آهي نہ وري ڪنهن قسم جي نسلي تعلق جي ڪري.

اُن عهد ۾ جن عملن جو ذڪر آهي، اِهي ئي دين جا بنيادي عمل آهن. اِهو ئي اُهو رستو آهي جيڪو سيني انسانن کي خدا ۽ اُن جي جنت ڏانهن وٺي وڃڻ وارو آهي. پر جڏهن آسماني ڪتاب وارين قومن ۾ بگاڙ ايندو آهي تہ اُهي هن رستي جي ڪاٻي ساڄي مُڙي ونديون آهن. پوءِ ائين ٿيندو آهي تہ هٿ ٺوڪيل تشريحن جي ذريعي دين جو تصور بدلائي ڇڏبو آهي. عبادت جي نالي تي غير متعلق بحث شروع ٿي ويندا آهن. نجات جا اهڙا رستا تلاش ڪري ونبا آهن جيڪي ٻانهن جا حق ادا ڪرڻ کان سواءِ ماڻهوءَ کي منزل تائين پهچائي ڇڏين. حق جي دعوت جي نالي تي انهن وٽ ٻي معنيٰ قسم جا دنياوي هنگاما جاري ٿي ويندا آهن. اُهي دنيا تي خرچ ڪن ٿا، اهڙي طرح اُن کي دين تي خرچ ڪرڻ جو نالو ڏئي ٿا ڇڏين. ٻين لفظن ۾ اُهي پنهنجي دنيا جي مصلحت مطابق هڪ دين گهڙين ٿا ۽ اُن کي خدا جو دين چوڻ لڳن ٿا. جڏهن ڪو گروهہ بگاڙ جي ان حد کي پهچي ٿو تہ خدا پنهنجي توجهہ اُن کان هٽائي ڇڏي ٿو. خدا جي توفيق کان محروم ٿي اهڙن ماڻهن جو حال اِهو ٿيندو آهي تہ اُهي رڳو پنهنجي خواهشن جي زبان سمجهن ٿا ۽ انهيءَ ۾ مصروف رهندا آهن. ايستائين جو موت جو فرشتو اچي وڃي ٿو تہ جيئن انهن کي جهلي خدا جي عدالت ۾ پهچائي ڇڏي.

وَ مِنَ الَّذِيۡنَ قَالُوۡۤا اِنَّا نَصٰرٰۤى اَخَذۡنَا مِيۡثَاقَهُمۡ فَنَسُوۡا حَظًّا مِّمَّا ذُكِّرُوۡا بِهٖ ۪ فَاَغۡرَيۡنَا
بَيۡنَهُمُ الۡعَدَاوَةَ وَ الۡبَغۡضَآءَ اِلٰى يَوۡمِ الۡقِيٰمَةِ ؕ وَ سَوۡفَ يُنَبِّئُهُمُ اللّٰهُ بِمَا كَانُوۡا
يَصۡنَعُوۡنَ ﴿١٤﴾

۽ جيڪي ماڻهو چون ٿا تہ اسان نصراني آهيون، انهن کان اسان عهد ورتو هو. پوءِ جيڪا ڪجهہ انهن کي نصيحت ڪئي وئي هئي، ان جو وڏو حصو انهن وساري ڇڏيو. پوءِ اسان قيامت تائين انهن جي وچ ۾ دشمني ۽ ڪينو وجهي ڇڏيو. ۽ جلد ئي الله ڪين آگاهہ ڪري ڇڏيندو جيڪو ڪجهہ هو ڪري رهيا هئا. ١٤

---

آسماني ڪتاب وارين قومن ۾ جڏهن بگاڙ ايندو آهي تہ اُهي دين جي محڪم حصي کي ڇڏي ان جي غير محڪم حصي تي ڊوڙي پونديون آهن. ان جو نتيجو دنيا ۾ اختلاف جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي ۽ آخرت ۾ رسوائيءَ جي صورت ۾.

عيسيٰ عليہ السلام پيءُ جي بغير هڪ پاڪدامن خاتون مان پيدا ٿيا. پيدائش ڪانپوءِ انهن پنهنجي زبان سان پنهنجو جيڪو تعارف ڪرايو، اُهو هِي هو تہ ”آءٌ الله جو ٻانهو ۽ ان جو رسول آهيان“. هاڻي حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي باري ۾ راءِ قائم ڪرڻ جي هڪ صورت اِها آهي تہ پاڻ عليہ السلام پنهنجي باري ۾ جيڪي واضح لفظ فرمايا آهن، انهن جي پابندي ڪئي وڃي ۽ انهن کي اُهوئي سمجهيو وڃي جيڪو انهن لفظن مان سڌو سنئون معلوم ٿئي ٿو. ٻي صورت اِها آهي تہ ان معاملي ۾ پنهنجي قياس کي داخل ڪيو وڃي ۽ چيو وڃي تہ ”انسان اُهو آهي جيڪو ڪنهن پيءُ جو پٽ هجي. عيسيٰ عليہ السلام ڪنهن پيءُ جا پٽ نہ هئا. ان ڪري اهي خدا جا پٽ هئا“. پهرين راءِ جو بنياد خود عيسيٰ عليہ السلام جو محڪم ۽ مستند قول آهي، ان ڪري جيڪڏهن ان کي اختيار ڪيو وڃي تہ ان ۾ اختلاف پيدا نہ ٿيندو. جڏهن تہ ٻيءَ راءِ جو بنياد رڳو انساني قياس تي آهي، ان ڪري جڏهن ٻي راءِ کي اختيار ڪيو ويندو تہ راءِ جو اختلاف شروع ٿي ويندو، جيئن تہ عيسيٰ عليہ السلام کي مڃڻ وارن سان پوئين زماني ۾ ٿيو.

آسماني ڪتاب واري ڪنهن قوم ۾ جڏهن بگاڙ ايندو آهي تہ ان جي اندر اهڙي قسم جون خرابيون شروع ٿي وينديون آهن. اُهي محڪم دين کي ڇڏي قياس واري دين تي هلي پونديون آهن، پوءِ اتان ئي اختلاف ۽ فرقہ بندي جو در کلي پوندو آهي. فقهہ ۽ ڪلام، روحانيت ۽ سياست ۾ خدا ۽ رسول جيڪي واضح احڪام ڏنا آهن. ماڻهو انهن جي سادي معنيٰ تي راضي نہ ٿا رهن، بلڪ خود نوان بحث شروع ڪري ڏيندا آهن. ڪڏهن زماني جي خيالن کان متاثر ٿي ڪري، ڪڏهن پنهنجي دنياوي خواهشن کي دين جو جواز ڏيڻ جي لاءِ. ڪڏهن پاڻ خود خدا جي ناقص دين کي ڪامل بڻائڻ جي لاءِ، پنهنجي طرفان اِهڙيون ڳالهيون دين ۾ داخل ڪري ڇڏيون آهن جيڪي حقيقت ۾ دين جو حصو نہ هونديون آهن. اهڙي طرح نوان نوان دين جا ايڊيشن تيار ٿي ويندا آهن. ڪو روحاني ايڊيشن، ڪو سياسي ايڊيشن ۽ ٻيا ڪيترائي ايڊيشن. هر هڪ جي چوڌرد ان جي موافق ذوق رکڻ وارا ماڻهو جمع ٿيندا رهندا آهن. آخرڪار انهن جو هڪ فرقو بڻجي ويندو آهي. انهن کانپوءِ بعد وارا نسل ان کي بزرگن جو ورثو سمجهي ان جي حفاظت شروع ڪري ڇڏيندا آهن. ايستائين جو اُهو وقت اچي ويندو آهي جيڪو قيامت تائين ڪڏهن بہ

ختم نہ ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ انسان ماضي کي هميشہ مقدس سمجهي وٺندو آهي ۽ جيڪا شيءِ مقدس بڻجي وڃي اِها ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندي. مذهب جي نالي تي فرقہ بندي هڪ طرف مقدس ٿي ابدي بڻجي ويندي آهي، ٻئي طرف خدا جو حڪم بڻجي پيبن جي خلاف نفرت ۽ اگرائي جو اجازت نامو بہ.

يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ قَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلُنَا يُبَيِّنُ لَكُمْ كَثِيْرًا مِّمَّا كُنْتُمْ تُخْفُوْنَ مِنَ الْكِتٰبِ وَ
يَعْفُوْا عَنْ كَثِيْرٍ ۬ قَدْ جَآءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ وَّ كِتٰبٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٥﴾ يَّهْدِيْ بِهِ اللّٰهُ مَنِ اتَّبَعَ
رِضْوَانَهٗ سُبُلَ السَّلٰمِ وَ يُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ بِاِذْنِهٖ وَ يَهْدِيْهِمْ اِلٰى صِرَاطٍ
مُّسْتَقِيْمٍ ﴿١٦﴾ لَقَدْ كَفَرَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْمَسِيْحُ ابْنُ مَرْيَمَ ؕ قُلْ فَمَنْ يَّمْلِكُ
مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا اِنْ اَرَادَ اَنْ يُّهْلِكَ الْمَسِيْحَ ابْنَ مَرْيَمَ وَ اُمَّهٗ وَ مَنْ فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ؕ وَ
لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ مَا بَيْنَهُمَا ؕ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٧﴾

اي اهل ڪتاب! اوهان وٽ اسان جو رسول آيو آهي، اُهو ڪتاب اِلٰهي جون گهڻيون اُهي ڳالهيون توهان جي سامهون کولي رهيو آهي، جن کي اوهين لڪائيندا هئا. ۽ اُهو گهڻين ئي شين کان درگزر ڪندو آهي. بيشڪ اوهان وٽ الله جي طرفان هڪ روشني ۽ هڪ ظاهر ڪرڻ وارو ڪتاب اچي چڪو آهي. جنهن جي ذريعي الله انهن ماڻهن کي سلامتيءَ جا رستا ڏيکاري ٿو جيڪي ان جي رضا جا طالب آهن ۽ پنهنجي توفيق سان انهن کي اونداهيءَ مان ڪڍي روشني ۾ آڻي ٿو ۽ کين سڌي راهہ جي طرف رهنمائي ڪري ٿو. بيشڪ انهن ماڻهن ڪفر ڪيو جن چيو تہ خدا مسيح پٽ مريم آهي. چؤ پوءِ ڪير اختيار رکي ٿو الله جي اڳيان جيڪڏهن هو چاهي تہ هلاڪ ڪري ڇڏي مسيح پٽ مريم کي ۽ سندس ماءُ کي ۽ جيڪي ماڻهو زمين ۾ آهن سڀني کي. ۽ الله جي لاءِ آهي بادشاهي آسمانن ۽ زمين جي ۽ جيڪو ڪجهہ انهن جي وچ ۾ آهي. هو خلقي ٿو جيڪو چاهي ٿو ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي. ١٥-١٧

---

اهل ڪتاب پنهنجي دين ۾ ٻن قسمن جون غلطيون ڪيون. هڪ اِها تہ ڪجهہ تعليم کي تاويلن ۽ تحريفن جي ذريعي دين مان خارج ڪري ڇڏيو. مثلاً انهن پنهنجي ڪتاب ۾ اهڙيون تبديليون ڪيون تہ هاڻي انهن کي پنهنجي نجات لاءِ ڪنهن ٻي پيغمبر کي مڃڻ جي ضرورت نہ آهي. پنهنجي اباڻي مذهب سان وابستگي انهن جي نجات لاءِ بلڪل ڪافي آهي. ٻيو اهو تہ انهن دين جي نالي تي اِهڙيون پابنديون پنهنجي مٿان وجهي ڇڏيون جيڪي خدا انهن تي نہ وڌيون هيون. مثال طور قرباني جي ادائگيءَ جا اُهي جزئي مسئلا جن جو حڪم انهن جي نبين انهن کي نہ ڏنو هو، بلڪ انهن جي عالمن فقهي معاملن ۾ اجايا بحث ڪري پاڻ گهڙي ورتا هئا.

قرآن انهن جي لاءِ هڪ نعمت بڻجي آيو. قرآن انهن لاءِ خدا جي دين جي ”تجديد“ ڪئي. قرآن انهن کي اُن اونداهي مان ڪڍيو جو اُهي اهڙي رستي تي هلندا رهن، جنهن جي متعلق هو اُن خوش فهمي ۾ مبتلا هجن تہ اُهو جنت ڏانهن وڃي پيو، حالانڪ اُهو انهن کي خدا جي غضب ڏانهن وٺي وڃي رهيو هو. قرآن هڪ طرف انهن جي وڃايل تعليم کي ان جي اصل صورت ۾ پيش ڪيو،

پيءَ طرف قرآن اهو ڪيو تہ انهن پاڻ کي جن غير ضروري ديني پابندين ۾ مبتلا ڪري ورتو هو، انهن مان انهن کي آزاد ڪري ڇڏيو. هاڻي جيڪي ماڻهو پنهنجي خواهشن جي پيروي ڪن اُهي اونداهين ۾ ڀٽڪندا رهندا ۽ جن کي الله جي رضا جي تلاش هوندي، اُهي حق جي سڌي راهہ کي پائي وٺندا. اُهي الله جي توفيق سان پنهنجي پاڻ کي اونداهيءَ مان ڪڍي روشني ۾ آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا. حق جو حق هئڻ ۽ باطل جو باطل هئڻ پنهنجي ڪامل صورت ۾ ظاهر ڪيو ويندو آهي. پر اُهو هميشہ دليل جي زبان ۾ هوندو آهي ۽ دليل انهن ئي ماڻهن جي ذهن جو جز بڻجي ٿو جيڪي اُن جي لاءِ پنهنجي ذهن کي ڪليل رکن.

خدا کي ڇڏي انسانن جيڪي خدا بڻايا آهن، انهن مان هر هڪ جو اِهو حال آهي تہ اُهي نہ ڪا شيءِ پاڻ پيدا ڪري سگهن ٿا ۽ نہ وري ڪنهن شيءِ کي خود مٽائي سگهن ٿا. اِهوئي واقعو هي ثابت ڪرڻ جي لاءِ ڪافي آهي تہ هڪ خدا کانسواءِ ڪوبہ خدا نہ آهي. جيڪي هستيون پيدائش ۽ موت تي قادر نہ هجن، اُهي خدا ڪيئن ٿي سگهي ٿيون.

وَ قَالَتِ الْيَهُوْدُ وَ النَّصٰرٰى نَحْنُ اَبْنٰٓؤُا اللّٰهِ وَ اَحِبَّآؤُهٗ ؕ قُلْ فَلِمَ يُعَذِّبُكُمْ بِذُنُوْبِكُمْ ؕ
بَلْ اَنْتُمْ بَشَرٌ مِّمَّنْ خَلَقَ ؕ يَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ
وَ الْاَرْضِ وَ مَا بَيْنَهُمَا ۫ وَ اِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ﴿۱۸﴾ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ قَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلُنَا يُبَيِّنُ
لَكُمْ عَلٰى فَتْرَةٍ مِّنَ الرُّسُلِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَا جَآءَنَا مِنْۢ بَشِيْرٍ وَّ لَا نَذِيْرٍ ۫ فَقَدْ جَآءَكُمْ
ع ٣ ٨ بَشِيْرٌ وَّ نَذِيْرٌ ؕ وَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۱۹﴾ ع

۽ يهودي ۽ نصراني چون ٿا تہ اسين خدا جا پٽ ۽ سندس پيارا آهيون. چؤ تہ پوءِ هو اوهان کي اوهان جي گناهن ڪري ڇو عذاب ڏي ٿو. نہ بلڪ اوهان بہ سندس خلقيل مخلوق مان هڪ انسان آهيو. هو جنهن کي چاهيندو بخشيندو ۽ جنهن کي چاهيندو عذاب ڏيندو. ۽ الله جي لاءِ ئي آهي بادشاهي آسمانن ۽ زمين جي ۽ جيڪو ڪجهہ انهن جي وچ ۾ آهي ۽ اُن ڏانهن ئي موٽڻو آهي. اي اهل ڪتاب! توهان وٽ اسان جو رسول آيو آهي، هو توهان کي صاف صاف ٻڌائي رهيو آهي رسولن جي وقفي ڪانپوءِ. تہ جيئن توهان اِهو نہ چؤ تہ اسان وٽ ڪو خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ ڊيڄارڻ وارو نہ آيو. سو هاڻي توهان وٽ خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ ڊيڄارڻ وارو اچي ويو آهي ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي. ١٨-١٩

---

جيڪا قوم ڪتاب ۽ پيغمبر واري بڻائي وڃي ۽ اُها ان کي مڃڻ جو ثبوت ڏئي ڇڏي تہ ان تي خدا جون گهڻيون ئي نعمتون نازل ٿينديون آهن. مخالفن جي مقابلي ۾ خاص مدد، زمين تي اقتدار، مغفرت ۽ جنت جو واعدو، وغيره. قوم جي ابتدائي ماڻهن جي لاءِ اِهو انهن جي عمل جو بدلو هوندو آهي. انهن پنهنجي پاڻ کي خدا جي حوالي ڪيو، ان ڪري خدا انهن تي پنهنجون نعمتون نازل ڪيون. پر پوءِ جي نسلن ۾ صورتحال بدلجي ويندي آهي. هاڻي انهن جي لاءِ سڄو معاملو قومي معاملو بڻجي ويندو آهي. شروع وارن ماڻهن کي جيڪا شيءِ عمل جي سبب ڪان ملي هئي، پوءِ اچڻ وارا ماڻهو قومي ۽ نسلي تعلق

جي ڪري پاڻ کي ان جو مستحق سمجهي وٺندا آهن. اُهي يقين ڪري ٿا وٺن ته اُهي خدا جا خاص ماڻهو آهن ۽ اُهي چاهي ڪجهه به ڪن، خدا جون نعمتون انهن کي ملي رهنديون. ڪتاب وارين قومن کي هِن غلط فهمي مان ڪڍڻ جي لاءِ خدا انهن جي لاءِ اهو خاص قاعدو مقرر ڪيو آهي ته ان جي جزا جو آغاز هن دنيا ۾ شروع ٿي ويندو آهي. اهڙا ماڻهو هن ئي دنيا ۾ ڏسي سگهن ٿا ته اچڻ واري دنيا ۾ هنن جو خدا انهن سان ڪهڙو معاملو ڪرڻ وارو آهي. جيڪڏهن اُهي دنيا ۾ پنهنجي دشمنن تي غالب اچي رهيا هجن ته اهي خدا جا مقبول گروهه آهن ۽ جيڪڏهن انهن جا دشمن انهن تي غالب اچي وڃن ته اهي خدا جا نامقبول گروهه آهن. ڪو ڪتاب وارو گروهه تعداد جي ڪثرت جي باوجود جيڪڏهن دنيا ۾ مغلوب ۽ ذليل ٿي رهيو هجي ته ان کي هرگز اِها اميد نه رکڻ کپي ته آخرت ۾ اهو سربلند ۽ عزت وارو رهندو.

ڪنهن قوم کي قوم جي حيثيت سان خدا جو محبوب سمجهڻ سراسر باطل خيال آهي. خدا وٽ هر فرد جو جدا حساب ٿيڻو آهي نه وري جدا جدا قوم جو. هر ماڻهو جيڪو ڪجهه ڪندو، انهيءَ جي مطابق اُهو خدا وٽ بدلو پائيندو. هر ماڻهو الله جي نظر ۾ فقط هڪ انسان آهي، چاهي اُهو هِن قوم سان تعلق رکندڙ هجي يا هُن قوم سان. هر ماڻهو جي مستقبل جو فيصلو هِن بنياد تي ڪيو ويندو ته امتحان جي دنيا ۾ اُن ڪهڙي قسم جي ڪارڪردگي جو ثبوت ڏنو. جنت ڪنهن جو قومي وطن نه آهي ۽ جهنم ڪنهن جو قومي جيل خانو نه آهي. الله جي فيصلي جو طريقو اهو آهي ته هو پنهنجي طرفان اِهڙا ماڻهو اٿاريندو آهي جيڪي ماڻهن کي زندگي جي حقيقت کان آگاهه ڪندا آهن. انهن کي جهنم کان ڊيڄاريندا آهن ۽ جنت جي خوشخبري ڏيندا آهن. خدا جي اُن ئي بشير ۽ نذير جو ساٿ ڏيئي ماڻهو خدا کي پائي ٿو نه وري ڪنهن ٻئي طريقي سان.

وَ اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ جَعَلَ فِيْكُمْ اَنْۢبِيَآءَ وَ
جَعَلَكُمْ مُّلُوْكًا ۖۗ وَّ اٰتٰىكُمْ مَّا لَمْ يُؤْتِ اَحَدًا مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ۝٢٠ يٰقَوْمِ ادْخُلُوا الْاَرْضَ
الْمُقَدَّسَةَ الَّتِيْ كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ وَ لَا تَرْتَدُّوْا عَلٰۤى اَدْبَارِكُمْ فَتَنْقَلِبُوْا خٰسِرِيْنَ ۝٢١ قَالُوْا
يٰمُوْسٰۤى اِنَّ فِيْهَا قَوْمًا جَبَّارِيْنَ ۖۗ وَ اِنَّا لَنْ نَّدْخُلَهَا حَتّٰى يَخْرُجُوْا مِنْهَا ۚ فَاِنْ يَّخْرُجُوْا
مِنْهَا فَاِنَّا دٰخِلُوْنَ ۝٢٢ قَالَ رَجُلٰنِ مِنَ الَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمَا ادْخُلُوْا
عَلَيْهِمُ الْبَابَ ۚ فَاِذَا دَخَلْتُمُوْهُ فَاِنَّكُمْ غٰلِبُوْنَ ۚ۬ وَ عَلَى اللّٰهِ فَتَوَكَّلُوْۤا اِنْ كُنْتُمْ
مُّؤْمِنِيْنَ ۝٢٣ قَالُوْا يٰمُوْسٰۤى اِنَّا لَنْ نَّدْخُلَهَاۤ اَبَدًا مَّا دَامُوْا فِيْهَا فَاذْهَبْ اَنْتَ وَ رَبُّكَ
فَقَاتِلَاۤ اِنَّا هٰهُنَا قٰعِدُوْنَ ۝٢٤

۽ جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو ته اي منهنجي قوم! الله جيڪي اوهان تي احسان ڪيا آهن تن کي ياد ڪيو جو هُن اوهان ۾ نبي پيدا ڪيا. ۽ اوهان کي بادشاهه بڻايائين ۽ اوهان کي اُهو ڪجهه ڏنائين جيڪو دنيا ۾ ڪنهن کي به نه ڏنائين. اي منهنجي قوم اُن پاڪ زمين ۾ داخل ٿي وڃو، جيڪا الله اوهان لاءِ لکي ڇڏي آهي. ۽

پٺ ڏئي نہ ڦري وڃو نہ تہ نقصان ۾ پئجي ويندؤ. اُنهن چيو تہ اي موسيٰ اُتي زبردست قوم آهي. اسان هرگز اُتي نہ ويندا سون جيستائين اُهي اُتان نڪري نہ وڃن. جيڪڏهن اهي اُتان نڪري وڃن تہ پوءِ اسان داخل ٿينداسين. ٻہ ماڻهو جيڪي الله کان ڊڄڻ وارن مان هئا ۽ انهن ٻنهي تي الله انعام ڪيو هو، اُنهن چيو تہ اوهان اُنهن تي حملو ڪري شهر جي دروازي مان داخل ٿي وڃو. جڏهن اوهان اُن ۾ داخل ٿي ويندو تہ اوهان ئي غالب ٿيندو ۽ الله تي ڀروسو ڪيو جيڪڏهن اوهان مؤمن آهيو. انهن چيو اي موسيٰ! اسان اُتي ڪڏهن بہ داخل نہ ٿينداسون جيستائين اُهي ماڻهو اُتي آهن. بس تون ۽ تنهنجو رب ٻئي وڃي وڙهو، اسان تہ هِتي ئي ويٺا آهيون. ٢٠-٢٤

---

الله جو اهو طريقو آهي تہ هو پنهنجي پيغام کي ماڻهن تائين پهچائڻ جي لاءِ ڪنهن گروهہ کي چونڊي وٺندو آهي. ان گروهہ جي اندر هو پنهنجا پيغمبر ۽ پنهنجو ڪتاب موڪليندو آهي ۽ ان کي مقرر ڪندو آهي تہ هو ان پيغام کي ٻين تائين پهچائي. جهڙي طرح وحي هڪ خاص شخص تي نازل ٿيندي آهي، اهڙي طرح وحي جو بار کڻندڙ بہ هڪ خاص گروهہ کي بڻايو ويندو آهي. قديم زماني ۾ اِها خاص حيثيت بني اسرائيل کي حاصل هئي ۽ نبي آخر الزمانﷺ کان پوءِ اُمت محمدي هِن خاص منصب تي مقرر آهي.

الله کي جهڙي طرح اِهو گهربل آهي تہ ڪا قوم ان جي دين جي نمائندگي ڪري. اهڙي طرح خدا کي اِهو بہ مطلوب آهي تہ جيڪا قوم ان جي دين جي نمائندگي ڪري، اُها دنيا ۾ باعزت ۽ سربلند هجي تہ جيئن ماڻهن تي اها ڳالهہ ظاهر ٿي سگهي تہ قيامت کانپوءِ جيڪو نئون ۽ هميشہ وارو عالم ٺهندو، ان ۾ هر قسم جون سرفرازيون رڳو حق وارن کي حاصل ٿينديون. باقي ماڻهو مغلوب ڪري خدا جي رحمتن کان پري ڦِٽي ڪيا ويندا. جيئن تہ ان گروهہ کي اُهو دنياوي انعام ائين ئي نہ ڏنو ويندو آهي، پر ان جي لاءِ ان کي قابليت جي امتحان ۾ ويهڻو پوندو آهي. ان کي عملي طور تي اهو ثابت ڪرڻو پوي ٿو تہ هو هر حال ۾ الله تي اعتماد ڪرڻ وارو ۽ صبر جي حد تائين ان جي مرضي تي قائم رهڻ وارو آهي.

بني اسرائيل جيستائين اِن معيار تي قائم رهيا انهن کي خدا انهن جي دشمن قومن تي غالب ڪيو، ايستائين جو هڪ زماني تائين اُهي مهذب دنيا ۾ سڀني کان وڌيڪ بلند حيثيت رکندا هئا. پر جڏهن حضرت موسيٰؑ آيو تہ بني اسرائيل تي زوال اچي چڪو هو. امتحان جي وقت انهن جي اڪثريت الله تي اعتماد ۽ صبر جو ثبوت ڏيڻ لاءِ تيار نہ هئي، ايستائين جو انهن جو هڪ ٽولو الله ۽ ان جي رسول جي سامهون گستاخي ڪرڻ لڳو، انهن جي دل ۾ الله کان بہ وڌيڪ دنيا جي طاقتور قومن جو ڊپ سمايل هو. جڏهن خدا جي نمائندگي ڪندڙ گروهہ خدا جي ڪم لاءِ قرباني نہ ڏي تہ جڻ اُهو چاهي ٿو تہ خدا خود زمين تي لهي پنهنجي دين جا ڪم پاڻ انجام ڏي، چاهي اُهي بني اسرائيل جي ڪجهہ ماڻهن وانگر ان ڳالهہ کي زبان سان چئي ڏين يا ٻين ماڻهن وانگر زبان سان نہ چون، بلڪ رڳو پنهنجي عمل سان ان کي ظاهر ڪن.

قَالَ رَبِّ اِنِّيْ لَآ اَمْلِكُ اِلَّا نَفْسِيْ وَ اَخِيْ فَافْرُقْ بَيْنَنَا وَ بَيْنَ الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ۝٢٥ قَالَ فَاِنَّهَا مُحَرَّمَةٌ عَلَيْهِمْ اَرْبَعِيْنَ سَنَةً ۚ يَتِيْهُوْنَ فِي الْاَرْضِ ۭ فَلَا تَاْسَ عَلَى الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ۝٢٦ ع

موسيٰ چيو تہ اي منهنجا رب! منهنجو پاڻ تي ۽ پنهنجي ڀاءُ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن تي زور نہ ٿو هلي، تنهن ڪري تون اسان ۽ ان نافرمان قوم جي وچ ۾ جدائي ڪري ڇڏ. الله چيو! اهو ملڪ انهن تي چاليهہ سالن تائين حرام آهي. اِهي ماڻهو زمين ۾ ڀٽڪندا رهندا. پوءِ تون اُن نافرمان قوم تي افسوس نہ ڪر. ٢٥-٢٦

---

بني اسرائيل جڏهن حضرت موسيٰ عليه السلام جي قيادت ۾ مصر مان نڪري سينا واري رڻ ۾ پهتا تہ ان زماني ۾ شام ۽ فلسطين جي علائقي ۾ هڪ ظالم قوم (عمالقہ) جي حڪومت هئي. الله بني اسرائيل کي چيو تہ اِهي ظالم ماڻهو پنهنجي عمر پوري ڪري چڪا آهن. توهان انهن جي ملڪ ۾ داخل ٿي وڃو. توهان کي خدا جي مدد حاصل هوندي ۽ توهان معمولي مقابلي ڪانپوءِ انهن تي قبضو ڪري وٺندؤ. پر بني اسرائيل تي ان قوم جي اهڙي هيبت طاري هئي جو اُهي انهن جي ملڪ ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ تيار نہ ٿيا. ان جو مطلب اِهو هو تہ اُهي الله کان وڌيڪ انسانن کان ڊڄندا آهن. ان ڪان پوءِ الله جي نظر ۾ انهن جي ڪا قيمت نہ رهي. الله انهن جي لاءِ فيصلو ڪري ڇڏيو تہ اُهي چاليهہ سال (١٤٠٠-١٤٤٠ ق.م) تائين فاران ۽ اوڀر اردن جي وچ واري رڻ ۾ ڀٽڪندا رهندا. ايستائين جو ويهن سالن کان مٿي عمر وارا سڀ ماڻهو ختم ٿي وڃن. ان وچ ۾ انهن جو نئون نسل نئين حالتن ۾ پرورش پائي تيار ٿي ويندو، پوءِ ايئن ئي ٿيو. چاليهہ سالن تائين رڻ واري زندگيءَ ۾ انهن جا سڀ وڏي عمر وارا مري ختم ٿي ويا. ان ڪانپوءِ انهن جي نئين نسل يوشع بن نون جي قيادت ۾ شام ۽ فلسطين کي فتح ڪيو. اِهو يوشع بن نون انهن ٻن صالح اسرائيلين مان هڪ هو، جنهن پنهنجي قوم کي چيو هو تہ الله تي ڀروسو ڪندي عمالقہ جي ملڪ ۾ داخل ٿي وڃو.

بني اسرائيل حضرت موسيٰ عليه السلام کي چيو هو تہ جيڪڏهن اسان ان ملڪ تي حملو ڪنداسون تہ اسان کي شڪست ٿيندي ۽ ان ڪانپوءِ "اسان جا ٻچا لُٽ جو مال بڻجي ويندا"، پر اُهي ٻار ئي وڏا ٿي عمالقہ جي ملڪ ۾ داخل ٿيا ۽ ان تي قبضو ڪيائون. ٻارن ۾ اِها طاقت ان ڪري پيدا ٿي جو انهن وڏو زمانو رڻ واري زندگيءَ جي مشقتن کي برداشت ڪيو هو. ٻارن جا ڀيءُ جن خطرناڪ حالتن کي پنهنجن ٻارن جي حق ۾ موت سمجهندا هئا، انهن ئي خطري وارين حالتن ۾ انهن جي ٻارن جي زندگي جو راز لڪيل هو.

موافق حالتن ۾ جيئڻ بظاهر سٺو معلوم ٿيندو آهي. پر حقيقت اِها آهي تہ ماڻهوءَ جي اندر تمام بهترين گڻ اُن وقت پيدا ٿيندا آهن، جڏهن اُن کي حالتن جو مقابلو ڪري زنده رهڻو پوي. مصر ۾ بني اسرائيل صدين تائين آرام واري زندگي گذاريندا رهيا. اُن جو نتيجو اِهو ٿيو جو اهي هڪ مرده قوم بڻجي ويا. پر نيڪالي ڪان پوءِ انهن کي جيڪا رڻ واري زندگي ملي، اها انهن لاءِ سراسر چيلئنج بڻجي وئي. انهن حالتن ۾ جيڪي ماڻهو ننڍپڻ کان جوانيءَ جي عمر کي پهتا، اُهي قدرتي طور تي بلڪل ٻئي قسم جا ماڻهو هئا. رڻ وارين حالتن انهن جي اندر سادگي، همت، جفاڪشي ۽ حقيقت پسندي پيدا ڪري ڇڏي ۽ اهي ئي اُهي گڻ آهن جيڪي ڪنهن قوم کي زنده قوم بڻائيندا آهن. ڪا قوم جيڪڏهن حالتن جي نتيجي ۾ مرده قوم بڻجي وڃي تہ اُن کي ٻيهر زنده قوم بنائڻ جي لاءِ غير معمولي حالتن ۾ وڌو ويندو آهي.

وَ اتۡلُ عَلَيۡهِمۡ نَبَاَ ابۡنَیۡ اٰدَمَ بِالۡحَقِّ ۘ اِذۡ قَرَّبَا قُرۡبَانًا فَتُقُبِّلَ مِنۡ اَحَدِهِمَا وَ لَمۡ
يُتَقَبَّلۡ مِنَ الۡاٰخَرِ ؕ قَالَ لَاَقۡتُلَنَّكَ ؕ قَالَ اِنَّمَا يَتَقَبَّلُ اللّٰهُ مِنَ الۡمُتَّقِيۡنَ ﴿۲۷﴾ لَئِنۡۢ
بَسَطۡتَّ اِلَیَّ يَدَكَ لِتَقۡتُلَنِیۡ مَاۤ اَنَا بِبَاسِطٍ يَّدِیَ اِلَيۡكَ لِاَقۡتُلَكَ ۚ اِنِّیۡۤ اَخَافُ اللّٰهَ رَبَّ
الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۲۸﴾ اِنِّیۡۤ اُرِيۡدُ اَنۡ تَبُوۡٓاَ بِاِثۡمِیۡ وَ اِثۡمِكَ فَتَكُوۡنَ مِنۡ اَصۡحٰبِ النَّارِ ۚ وَ ذٰلِكَ
جَزٰٓؤُا الظّٰلِمِيۡنَ ﴿ۚ۲۹﴾

۽ اُنهن کي آدم جي ٻن پٽن جو قصو حق سان ٻڌاءِ. جڏهن انهن ٻنهي قرباني پيش ڪئي ته انهن مان هڪڙي جي قرباني قبول پئي ۽ ٻئي جي قرباني قبول نه پئي. ان چيو ته آءٌ توکي ضرور ماري ڇڏيندس. ان جواب ڏنس ته الله رڳو متقين کان قبول ڪندو آهي. جيڪڏهن تون مون کي قتل ڪرڻ جي لاءِ هٿ ڪڍندين ته آءٌ توکي قتل ڪرڻ لاءِ توتي پنهنجو هٿ نه ڪڍندس. آءٌ ڊڄان ٿو الله کان جيڪو سڀني جهان جو رب آهي. آءٌ گهران ٿو ته تون پنهنجو ۽ منهنجو گناهه کڻ پوءِ تون باهه وارن ۾ شامل ٿي وڃ. ۽ اِهائي سزا آهي ظلم ڪرڻ وارن جي. ٢٧-٢٩

الله جي لاءِ جيڪو عمل ڪيو وڃي ان جو اصل بدلو آخرت ۾ ملندو آهي، پر ڪنهن وقت دنيا ۾ به اِهڙا واقعا ظاهر ٿيندا آهن جيڪي ٻڌائن ٿا ته ماڻهوءَ جو عمل خدا وٽ قبول ٿيو يا نه. آدم عليه السلام جي پٽن ۾ قابيل ۽ هابيل سان به اهڙي ئي صورت پيش آئي. قابيل هاري هو ۽ هابيل ٻڪريون ۽ رڍون چاريندو هو. هابيل پنهنجي محنت جي ڪمائي الله جي لاءِ ڏني. اِها الله وٽ قبول پئي ۽ ان جي برڪت ان جي زندگي ۽ ان جي ڪمن ۾ ظاهر ٿي. قابيل به پنهنجي مال مان ڪجهه الله جي لاءِ پيش ڪيو، پر اِهو قبول نه ٿيو ۽ هو خدا جي برڪت کان محروم رهيو. اِهو ڏسي قابيل جي دل ۾ پنهنجي ننڍي ڀاءُ هابيل جي لاءِ حسد پيدا ٿي پيو. اِهو حسد ايترو وڌيو جو اُن هابيل کي چيو ته آئون توکي ماري ڇڏيندس. هابيل چيو تنهنجي قرباني قبول نه ٿيڻ جو سبب اِهو آهي ته تنهنجي دل ۾ خدا جو خوف نه آهي. توکي منهنجي پنيان پئجي وڃڻ جي بجاءِ پنهنجي اصلاح جي فڪر ڪرڻ کپي. پر حسد ۽ بغض جي باهه جڏهن ڪنهن جي اندر ڀڙڪندي آهي ته اِها ان کي ان جي قابل نه ٿي ڇڏي جو هو پنهنجن غلطين جو جائزو وٺي. اُهو صرف هڪ ئي ڳالهه ڄاڻي ٿو ته ڪهڙي طرح به پنهنجي فرض ڪيل دشمن جو خاتمو ڪري ڇڏي.

هابيل قابيل کي چيو ته تون ڀلي منهنجي قتل جي لاءِ هٿ وڌاءِ، آئون تنهنجي قتل جي لاءِ هٿ نه وڌائيندس، ان جي وجهه اِها آهي ته مسلمان ۽ مسلمان جي باهمي لڙائي کي الله سراسر حرام قرار ڏنو آهي. ايستائين جو جيڪڏهن هڪ مسلمان پنهنجي ٻئي ڀاءُ کي قتل ڪرڻ گهري، ته ان وقت به ٻيو ڀاءُ پنهنجي ڀاءُ جي خون کي پنهنجي لاءِ حلال نه سمجهي. اُهو پنهنجي طرفان اڳرائيءَ جو قدم نه کڻي. باهمي ٽڪراءُ کي پهرين ئي مرحلي ۾ ختم ڪري ڇڏي، ان جي ابتڙ جيڪڏهن اهو به جواب ۾ اڳرائي ڪرڻ لڳي ته مسلم سماج جي اندر عمل ۽ رد عمل جو اڻ کٽ سلسلو شروع ٿي ويندو. پر حملا آور جيڪڏهن غير مسلم هجي ته ان وقت ائين ڪرڻ درست نه آهي. اهڙي طرح جڏهن دين جي دشمنن طرفان اڳرائي ڪئي وڃي ته مسلم ۽ غير مسلم جو فرق ڪرڻ کانسواءِ ئي اِهڙن ماڻهن سان ڀرپور مقابلو ڪيو ويندو.

۽ مسلمان جڏهن هڪٻئي کي برباد ڪرڻ چاهين ته گناه ٻنهي جي وچ ۾ ورهائجي ويندو آهي. پر جيڪڏهن هڪ مسلمان ٻئي مسلمان جي بربادي جي لاءِ ڪارروائي ڪري ۽ ٻيو مسلمان صبر ۽ دعا ۾ مشغول ٿي وڃي ته پهريون شخص نه صرف پنهنجي گناه جو بار کڻندو آهي، بلڪ ٻي شخص جي اُن ممڪن گناه جو بار به ان تي وڌو ويجي ٿو جيڪو صبر ۽ دعا جي طريقي تي نه هلڻ جي صورت ۾ هو ڪري ها.

فَطَوَّعَتْ لَهٗ نَفْسُهٗ قَتْلَ اَخِيْهِ فَقَتَلَهٗ فَاَصْبَحَ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۳۰﴾ فَبَعَثَ اللّٰهُ غُرَابًا
يَّبْحَثُ فِي الْاَرْضِ لِيُرِيَهٗ كَيْفَ يُوَارِيْ سَوْءَةَ اَخِيْهِ ؕ قَالَ يٰوَيْلَتٰۤى اَعَجَزْتُ اَنْ اَكُوْنَ
مِثْلَ هٰذَا الْغُرَابِ فَاُوَارِيَ سَوْءَةَ اَخِيْ ۚ فَاَصْبَحَ مِنَ النّٰدِمِيْنَ ﴿۳۱﴾

مع ۵ عند المتأخرين ۱۲ — وقف النبي صلى الله عليه وآله وسلم

پوءِ سندس نفس ان کي پنهنجي ڀاءُ جي قتل لاءِ راضي ڪري وڌو ۽ اُن هُن کي قتل ڪري ڇڏيو. پوءِ هو خساري وارن ۾ شامل ٿي ويو. پوءِ الله هڪ ڪانگ کي موڪليو جيڪو زمين کوٽڻ لڳو، ته جيئن ان کي ڏيکاري ته هو پنهنجي ڀاءُ جي لاش کي ڪيئن لڪائي. اُن چيو افسوس منهنجي حالت تي ته آءٌ هِن ڪانگ جهڙو به نه ٿيس جو پنهنجي ڀاءُ جي لاش کي لڪائي ڇڏيان ها. پوءِ هو ڏاڍو پشيمان ٿيو. ۳۰-۳۱

---

دنيا ۾ جيڪو ڪجھ ڪنهن کي ملندو آهي، خدا جي طرفان ملندو آهي. اُن ڪري ڪنهن کي سٺي حال ۾ ڏسي حسد ڪرڻ ۽ ان کي نقصان پهچائڻ جي ڪِڍ لڳڻ، ڄڻ ته خدا جي منصوبي کي باطل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ آهي. اِهڙي ماڻهوءَ کي موجوده امتحان جي دنيا ۾ هڪ حد تائين عمل ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي، پر خدا جي نظر ۾ اُهو بدترين مجرم آهي. هابيل پنهنجي وڏي ڀاءُ کي ان حقيقت ڏانهن توجهه ڏياري. ان ڪانپوءِ اُن جي دل ۾ جهجهڪ پيدا ٿي، ان کي محسوس ٿيو ته هو واقعي بنا سبب پنهنجي ڀاءُ کي مارڻ چاهي ٿو. پر ان جي حسد جو جذبو ٿڌو نه ٿي سگهيو. هُن پنهنجي ذهن ۾ اِهڙا عذر گهڙي ورتا جيڪي ان جي لاءِ سندس ڀاءُ جي قتل کي جائز ثابت ڪن. ان جي اندر واري ڪشمڪش نيٺ هٿ ٺوڪيل سببن ۾ هن لاءِ تسڪين تلاش ڪري ورتي ۽ هن پنهنجي ڀاءُ کي ماري ڇڏيو. ضمير جو آواز خدا جو آواز آهي. ضمير جي اندر ڪنهن عمل جي باري ۾ سوال جو پيدا ٿيڻ ماڻهو جو امتحان جي ميدان ۾ بيهڻ آهي. جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي ضمير جي آواز تي لبيڪ چوي ته اُهو ڪامياب ٿي ويو ۽ جيڪڏهن هن ڪوڙن لفظن جو سهارو وٺي ضمير جي آواز کي دٻائي ڇڏيو ته هو ناڪام ٿي ويو.

حديث ۾ آهي ته زيادتي ۽ قطع رحمي اهڙا گناهه آهن جو ان جي سزا هن دنيا ۾ شروع ٿي ويندي آهي (ما من ذنب اجدران يجعل الله عقوبة في الدنيا مع ما يدخر لصاحبه في الأخرة من البغي و قطيعة الرحم) قابيل پنهنجي ڀاءُ سان جيڪو نا حق ظلم ڪيو، ان جي سزا ان کي نه رڳو آخرت ۾ ملي، بلڪ هن دنيا ۾ ان جو انجام شروع ٿي ويو. مجاهد ۽ جبير تابعي کان منقول آهي ته قتل ڪانپوءِ قابيل جو اهو حال ٿيو جو سندس پير جي ٽٽي سندس ران سان چنبڙي وئي. اُهو بي يارومددگار زمين تي پيو رهندو هو، ايستائين جو اُنهيءَ حال ۾ ذلت ۽ تڪليف ۾ مري ويو. (ابن ڪثير)

قابيل کي ڪانگ جي ذريعي اِها تعليم ڏني وئي ته هو لاش کي زمين ۾ دفن ڪري. اِهو ان ڳالهه جي طرف اشارو هو ته انسان فطرت جي رستي کي سمجهڻ جي معاملي ۾ جانور کان به گهٽ عقل

رکي ٿو. ان جي باوجود جيڪڏهن هو پنهنجن جذبن جي پويان هلي ته ان کان وڏيڪ ظالم پيو ڪير نه آهي ۽ اُن ۾ هِن حقيقت ڏانهن به لطيف اشارو آهي ته جرم کان پهرين جيڪڏهن ماڻهو جرم جي ارادي کي پنهنجي سيني ۾ دفن ڪري ڇڏي ته هو شرمندگيءَ کان بچي ويندو. ماڻهوءَ کي کپي ته هو دل جي احساس کي دل اندر دٻائي، ان کي دل کان ٻاهر ڪڍي کو عملي مثال نه بڻائي. بري احساس کي دل کان ٻاهر ڪڍڻ کان پهرين رڳو احساس کي دفن ڪرڻو پوندو آهي. پر جيڪڏهن اُنهي کي ٻاهر ڪڍيو ته پوءِ هڪ زنده انسان جي ”لاش“ کي دفن ڪرڻ جو مسئلو ان جي لاءِ پيدا ٿي ويندو جيڪو دفن ٿي ڪري به خدا وٽ دفن نه ٿيندو آهي.

مِنۡ اَجۡلِ ذٰلِكَ ۚۛ كَتَبۡنَا عَلٰى بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ اَنَّهٗ مَنۡ قَتَلَ نَفۡسًۢا بِغَيۡرِ نَفۡسٍ اَوۡ فَسَادٍ فِى
الۡاَرۡضِ فَكَاَنَّمَا قَتَلَ النَّاسَ جَمِيۡعًا ؕ وَمَنۡ اَحۡيَاهَا فَكَاَنَّمَاۤ اَحۡيَا النَّاسَ جَمِيۡعًا ؕ وَلَقَدۡ
جَآءَتۡهُمۡ رُسُلُنَا بِالۡبَيِّنٰتِ ثُمَّ اِنَّ كَثِيۡرًا مِّنۡهُمۡ بَعۡدَ ذٰلِكَ فِى الۡاَرۡضِ لَمُسۡرِفُوۡنَ ﴿۳۲﴾
اِنَّمَا جَزٰٓؤُا الَّذِيۡنَ يُحَارِبُوۡنَ اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗ وَيَسۡعَوۡنَ فِى الۡاَرۡضِ فَسَادًا اَنۡ يُّقَتَّلُوۡۤا اَوۡ
يُصَلَّبُوۡۤا اَوۡ تُقَطَّعَ اَيۡدِيۡهِمۡ وَاَرۡجُلُهُمۡ مِّنۡ خِلَافٍ اَوۡ يُنۡفَوۡا مِنَ الۡاَرۡضِ ؕ ذٰلِكَ لَهُمۡ
خِزۡىٌ فِى الدُّنۡيَا وَلَهُمۡ فِى الۡاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيۡمٌ ﴿۳۳﴾ اِلَّا الَّذِيۡنَ تَابُوۡا مِنۡ قَبۡلِ اَنۡ
تَقۡدِرُوۡا عَلَيۡهِمۡ ۚ فَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۳۴﴾ ع ٩

انهيءَ ڪري اسان بني اسرائيل تي لکي ڇڏيو ته جيڪو شخص ڪنهن کي قتل ڪندو، سواءِ اُن جي ته هُن ڪنهن کي قتل ڪيو هجي يا زمين ۾ فساد ڪيو هجي ته ان ڄڻ سڀني انسانن کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ جنهن هڪ شخص کي بچايو ته ڄڻ ان سڀني انسانن کي بچائي ورتو. ۽ اسان جا پيغمبر انهن وٽ پڌرين نشانين سان آيا. ان جي باوجود انهن مان گهڻا ماڻهو زمين تي زيادتيون ڪندا آهن. جيڪي ماڻهو الله ۽ سندس رسول سان وڙهندا آهن ۽ زمين ۾ فساد ڪرڻ لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪندا آهن، تن جي سزا اِها آهي ته کين قتل ڪجي يا ڦاسيءَ چاڙهجي يا سندن هڪ طرف جا هٿ ۽ ٻئي طرف جا پير ڪپجن يا کين ملڪ نيڪالي ڏجي. اِها ذلت ۽ خواري اُنهن لاءِ دنيا ۾ آهي ۽ آخرت ۾ اُنهن لاءِ وڏو عذاب آهي. پر جيڪي ماڻهو توبه ڪري وٺن اوهان جي قابو ۾ اچڻ کان پهرين ته ڄاڻي وٺو ته الله بخشڻ وارو مهربان آهي. ٣٢-٣٤

---

ڪو ماڻهو جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي قتل ڪندو آهي ته هو رڳو هڪ انسان جو قاتل نه هوندو آهي، بلڪ سڀني انسانن جو قاتل هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته اُهو حرمت جي ان قانون کي ٽوڙي ٿو، جنهن ۾ سڀني انسانن جون زندگيون ٻڌل آهن. اِهڙي طرح جڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن کي ظالم جي ظلم کان نجات ڏياريندو آهي ته اُهو رڳو هڪ ماڻهو کي نجات ڏياريندڙ نه هوندو آهي بلڪ سڀني انسانن کي نجات ڏياريندڙ هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته هن اُن اصول جي حفاظت ڪئي ته سڀني انسانن جي جان احترام جوڳي آهي. ڪنهن کي ڪنهن تي هٿ کڻڻ جو حق نه آهي. جڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن جي عزت يا ان جي مال يا ان جي جان تي حملو ڪري ته ان جو مطلب اِهو آهي ته سماج جي اندر هنگامي حالت پيدا ٿي وئي آهي. مسلمانن کي کپي ته اهڙي

ڪنهن هڪ واقعي کي بہ اُن نظر سان ڏسن تہ ڇڻ سيني ماڻهن جي جان ۽ مال ۽ عزت خطري ۾ آهي. ڪنهن سماج ۾ هڪبئي جي احترام جون روايتون ڏگهي تاريخ جي نتيجي ۾ ٺهنديون آهن ۽ جيڪڏهن هڪ ڀيرو اِهي روايتون ٽٽي پون تہ ٻيهر ڏگهي تاريخ ڪانپوءِ ئي اِنهن کي سماج جي اندر قائم ڪري سگهجي ٿو. جيڪي ماڻهو سماج جي اندر فساد جي روايت قائم ڪن اُهي سماج جا سيني کان وڏا دشمن آهن.

خدا پنهنجي دنيا جو نظام جنهن اصول تي قائم ڪيو آهي، اُهو اِهو آهي تہ هر ڪو پنهنجي حصي جو فرض ادا ڪري. ڪو ماڻهو ٻئي جي معاملي ۾ بي جا مداخلت نہ ڪري. سڀئي جمادات ۽ حيوانات انهيءَ فطرت تي عمل ڪري رهيا آهن. انسان کي بہ پيغمبرن جي ذريعي اِها هدايت واضح طور تي ٻڌائي وئي، پر انسان جيئن تہ ٻي مخلوق جي برعڪس وقتي طور تي آزاد رکيو ويو آهي، تنهن ڪري سرڪشي ڪندو آهي ۽ اِهڙي طرح فطرت جي نظام ۾ فساد پيدا ڪندو آهي. اهڙا ماڻهو خدا جي نظر ۾ سخت مجرم آهن. ۽ اُهي ماڻهو اجا بہ وڏا مجرم آهن جيڪي خدا ۽ رسول سان جنگ ڪن. يعني خدا پنهنجن ٻانهن ۾ اِهڙي دعوت موڪلي جيڪا ماڻهن کي فساد وارن طريقن کان بچڻ ۽ خدا جي ٻڌايل فطرت واري زندگي گذارڻ ڏانهن سڏي، تہ اُهي ان جو رستو روڪين ۽ ان جي خلاف تخريبي ڪارروائيون ڪن. اهڙن ماڻهن جي لاءِ دنيا ۾ عبرتناڪ سزا آهي ۽ آخرت ۾ پڪڙ ڪندڙ باھ.

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ ابْتَغُوْٓا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ وَ جَاهِدُوْا فِيْ سَبِيْلِهٖ لَعَلَّكُمْ
تُفْلِحُوْنَ ﴿٣٥﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ اَنَّ لَهُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا وَّ مِثْلَهٗ مَعَهٗ لِيَفْتَدُوْا
بِهٖ مِنْ عَذَابِ يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَا تُقُبِّلَ مِنْهُمْ ۚ وَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٣٦﴾ يُرِيْدُوْنَ اَنْ
يَّخْرُجُوْا مِنَ النَّارِ وَ مَا هُمْ بِخٰرِجِيْنَ مِنْهَا ۫ وَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ﴿٣٧﴾ وَ السَّارِقُ وَ
السَّارِقَةُ فَاقْطَعُوْٓا اَيْدِيَهُمَا جَزَآءًۢ بِمَا كَسَبَا نَكَالًا مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٣٨﴾
فَمَنْ تَابَ مِنْۢ بَعْدِ ظُلْمِهٖ وَ اَصْلَحَ فَاِنَّ اللّٰهَ يَتُوْبُ عَلَيْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٣٩﴾ اَلَمْ
تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ وَ يَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ
اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٤٠﴾

اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ سندس قرب تلاش ڪريو ۽ سندس راھ ۾ جدوجهد ڪريو، تہ جيئن اوهان ڪامياب ٿيو. بيشڪ جن ماڻهن ڪفر ڪيو آهي جيڪڏهن انهن وٽ اُهو سڀ ڪجھ هجي جيڪو زمين ۾ آهي ۽ ايتروئي ٻيو بہ هجي تہ جيئن هو ان کي فديي طور ڏئي قيامت جي ڏينهن عذاب کان بچن، تڏهن بہ اهو انهن کان قبول نہ ڪيو ويندو ۽ انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي. هو چاهيندا تہ باھ مان نڪري وڃن پر اُن مان نڪري نہ سگهندا ۽ انهن جي لاءِ هڪ هميشہ وارو عذاب آهي. ۽ چور مرد ۽ چور عورت ٻنهي جا هٿ ڪپيو. اِهو سندن ڪمائي جو بدلو آهي ۽ الله جي طرفان عبرت ناڪ سزا ۽ الله غالب ۽ حڪمت وارو آهي. پوءِ جنهن پنهنجي ظلم ڪانپوءِ توبھ ڪئي ۽ اصلاح ڪري ورتي تہ الله بيشڪ اُن تي توجھ ڪندو. ۽ الله بخشڻ وارو مهربان آهي. ڇا تون نہ ٿو ڄاڻين تہ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي آهي. هو جنهن کي چاهي سزا ڏي ۽ جنهن کي چاهي معاف ڪري ڇڏي. ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي. ٣٥-٤٠

ٻانهي جي لاءِ سيني کان وڏي شيءِ الله جو قرب آهي. اِهو قرب پنهنجي محسوس ۽ ڪامل صورت ۾ ته آخرت ۾ حاصل ٿيندو. جڏهن ڪنهن ٻانهي جو عمل اُن کي الله جي ويجهو ڪندو آهي ته هڪ لطيف احساس جي صورت ۾ ان جو تجربو اُن کي هِن دنيا ۾ ٿيڻ لڳندو آهي. ان قرب تائين پهچڻ جو ذريعو تقويٰ ۽ جهاد آهي. يعني ڊڄڻ ۽ ڪوشش ڪرڻ جي سطح تي الله جو پرستار ٿيڻ. ماڻهو جي زندگي ۾ اِهڙو وقت ٻه ايندو آهي، جڏهن هو پاڻ کي حق ۽ ناحق جي وچ ۾ بيٺل ڏسندو آهي. حق ڏانهن وڌڻ ۾ ان جي انا ٽٽندي آهي، سندس دنياوي مصلحتن جا نقشا ٽٽندي نظر ايندا آهن. جڏهن ته ناحق جو طريقو اختيار ڪرڻ ۾ ان جي انا قائم رهي ٿي. ان جون مصلحتون پوري طرح محفوظ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. اِهڙي وقت ۾ جيڪو ماڻهو خدا کان ڊڄي ۽ سيني ٻين ڳالهين کي نظر انداز ڪندي خدا کي پڪڙي وٺي ۽ هر مشڪل ۽ ناخوش گواري کي برداشت ڪندي خدا ڏانهن وڌي، ته اِهائي اُها شيءِ آهي جيڪا ماڻهو کي خدا جي ويجهو ڪندي آهي ۽ ان قرب جو نقد تجربو ماڻهوءَ کي احساس جي سطح تي هڪ لطيف ادراڪ جي صورت ۾ انهي وقت ٿي ويندو آهي. ان جي ابتڙ جيڪو شخص تقويٰ ۽ جهاد جي رستي تي هلڻ جي لاءِ تيار نه ٿئي ته ان ڄڻ خدا جو انڪار ڪيو. اُهو خدا کان پري ٿي ڪري اهڙي عذاب ۾ پئجي ويندو آهي، جنهن مان هو ڪنهن طرح به ڇوٽڪارو نه پائي سگهندو.

جزا جو معاملو سراسر خدا جي اختيار ۾ آهي، نه وري ائين جو ڪو ماڻهو ڪنهن وقت زندگي ۾ اصلاح ڪري وٺي، تڏهن به ان جا پويان برا عمل ان کان نه مٽجن ۽ نه وري اِها ڳالهه ته ڪابي طاقت جيڪا سفارش يا مداخلت جي زور تي ڪنهن جي انجام کي بدلائي سگهي. سڄو معاملو هڪ خدا جي هٿ ۾ آهي ۽ اُهوئي ڪمال حڪمت ۽ قدرت سان سيني جو فيصلو ڪندو.

سماجي جرم جي لاءِ اسلام ۾ سزا ٻن خاص پهلوئن کي سامهون رکي مقرر ڪئي وئي آهي. هڪ ماڻهو جي جرم جي سزا. ٻيو اِهو ته سزا اِهڙي عبرتناڪ هجي جو اُن کي ڏسي ٻيا مجرم عبرت وٺن. پوءِ مجرم جيڪڏهن جرم ڪانپوءِ پنهنجي عمل تي شرمنده ٿئي. اُهو الله کان معافي گهري ۽ آئينده اهڙي قسم جي شين کي بلڪل ڇڏي ڏي ته اُميد آهي ته آخرت ۾ الله اُن کي معاف ڪري ڇڏيندو.

يٰٓاَيُّهَا الرَّسُوْلُ لَا يَحْزُنْكَ الَّذِيْنَ يُسَارِعُوْنَ فِي الْكُفْرِ مِنَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اٰمَنَّا
بِاَفْوَاهِهِمْ وَلَمْ تُؤْمِنْ قُلُوْبُهُمْ ۛ وَمِنَ الَّذِيْنَ هَادُوْا ۛ سَمّٰعُوْنَ لِلْكَذِبِ سَمّٰعُوْنَ لِقَوْمٍ مع عند المتقدمين ١٢
اٰخَرِيْنَ ۙ لَمْ يَاْتُوْكَ ۭ يُحَرِّفُوْنَ الْكَلِمَ مِنْۢ بَعْدِ مَوَاضِعِهٖ ۚ يَقُوْلُوْنَ اِنْ اُوْتِيْتُمْ هٰذَا
فَخُذُوْهُ وَاِنْ لَّمْ تُؤْتَوْهُ فَاحْذَرُوْا ۭ وَمَنْ يُّرِدِ اللّٰهُ فِتْنَتَهٗ فَلَنْ تَمْلِكَ لَهٗ مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ۭ
اُولٰۗىِٕكَ الَّذِيْنَ لَمْ يُرِدِ اللّٰهُ اَنْ يُّطَهِّرَ قُلُوْبَهُمْ ۭ لَهُمْ فِي الدُّنْيَا خِزْيٌ ښ وَّلَهُمْ فِي
الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٤١﴾

اي پيغمبر! توکي اُهي ماڻهو غم ۾ نه وجهن جيڪي ڪفر جي راهه ۾ ڊڪ ڊوڙ ڪري رهيا آهن. چاهي اُهي انهن مان هجن جيڪي پنهنجي واتان چون ٿا ته اسان ايمان آندو آهي، حالانڪ سندن دلين ايمان نه آندو آهي يا

انهن مان هجن جيڪي يهودي آهن. ڪوڙ کي ڪن ڏيئي ٻڌڻ وارا، ٻڌندڙ آهن ته جيئن هو ٻين ماڻهن کي ٻڌائين جيڪي تو وٽ نه آيا آهن. اهي ڪلام کي اُن جي مقام تان هٽائي ڇڏيندا آهن. اُهي ماڻهن کي چون ٿا ته جيڪڏهن اوهان کي هيئن حڪم ملي ته قبول ڪجوءِ جيڪڏهن هيئن حڪم نه ملي ته اُن کان بچجو. ۽ جنهن کي الله فتني ۾ وجهڻ چاهي ته تون الله جي اڳيان اُن جي معاملي ۾ ڪجهه نه تو ڪري سگهين. هِي اُهي ئي ماڻهو آهن جن جي دلين کي الله پاڪ ڪرڻ نه تو گهري. انهن لاءِ دنيا ۾ ذلت آهي ۽ آخرت ۾ انهن لاءِ وڏو عذاب آهي. - ٤١

---

مديني ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو اسلامي دعوت جي مخالفت ڳجهه ڳوهه ۾ ڪري رهيا هئا. هڪ منافق، ٻيا يهودي. منافق اُهي ماڻهو هئا جيڪي ظاهري ۽ نمائشي اسلام کي اپنايو ويٺا هئا. سچي اسلام جي دعوت ۾ انهن کي پنهنجي غرض ۽ مفاد جو نقصان محسوس ٿيندو هو. يهودي اُهي ماڻهو هئا جيڪي مذهب جي نمائندگي وارين گادين تي ويٺل هئا. انهن کي محسوس ٿيندو هو ته اسلامي دعوت انهن کي اُنهن جي برتري واري مقام تان لاهي رهي آهي. اِهي ٻنهي قسمن جا ماڻهو سچي اسلام جي دعوت کي پنهنجو دشمن سمجهندا هئا. اُن ڪري اسلام جي خلاف مهم هلائڻ ۾ ٻئي هڪ ٿي ويا. انهن جا ”وڏا“ رسول اللهﷺ جي مجلس ۾ اچڻ پنهنجي شان جي خلاف سمجهندا هئا. ان ڪري اُهي پاڻ نه ايندا هئا. البت انهن جا ”ننڍا“ ان ڪم تي لڳل هئا ته اُهي پاڻﷺ جي ڳالهين کي ٻڌن ۽ انهن کي پنهنجن وڏن تائين پهچائين. پوءِ اُهي ماڻهو ان کي اُبتي معنيٰ ڏئي پاڻﷺ کي ۽ سندن تحريڪ کي بدنام ڪندا هئا. انهن جي سرڪشي انهن کي اهڙو سرڪش بڻائي ڇڏيو هو جو اُهي الله جي ڪلام کي ان جي اصل موقعي و مهل واري جاءِ کان هٽائي ان مان پنهنجي فائدي جو مطلب ۽ مفهوم ڪيڻ کان به نه ڊڄندا هئا.

هي اُهي ماڻهو آهن جيڪي پاڻ کي خدا ۽ رسول جي تابع نه ٿا ڪن. بلڪ انهن جو ذهن اِهو هوندو آهي ته جيڪا ڳالهه پنهنجي ذوق جي مطابق هجي ان کي وٺي ڇڏيو ۽ جيڪا ڳالهه ذوق جي مطابق نه هجي ان کي ڇڏي ڏيو. اِهو مزاج ڪنهن ماڻهوءَ جي لاءِ سخت فتنو آهي. جن ماڻهن جو اهو حال هجي ته اُهي حق جي مقابلي ۾ مفاد ۽ مصلحت کي ترجيح ڏين جيڪي هر حال ۾ پاڻ کي وڏائيءَ جي مقام تي ڏسڻ چاهين جيڪي حق کي شڪست ڏيڻ لاءِ ان جي خلاف تخريبي سازشون ڪن، ايستائين جو پنهنجي عمل کي جائز ثابت ڪرڻ لاءِ خدا جي ڪلام کي بدلائي ڇڏين، اهڙن ماڻهن جي نفسيات آخر ۾ اِها ٿي ويندي آهي جو اُهي حق کي قبول ڪرڻ جي صلاحيت کان محروم ٿي ويندا آهن. انهن خدا جو ساٿ ڇڏيو، ان ڪري خدا به انهن جو ساٿ ڇڏي ڏنو. اهڙا ماڻهو خدا جي توفيق کان محروم ٿي باطل مشغلن ۾ لڳي ويندا آهن، ايستائين جو باهه جي دنيا ۾ پهچي وڃن.

الله جو ٻانهو جيڪو الله جي سچي دين جو پيغام پهچائيندو هجي، ان کي مخالفتن جي ڪري بي همت نه ٿيڻ گهرجي. اهڙن ماڻهن جون سرگرميون حقيقت ۾ داعيءَ جي خلاف نه بلڪ خدا جي خلاف آهن. ان ڪري اُهي ڪڏهن به ڪامياب نٿيون ٿي سگهن. دعوت جي عمل مان جيڪا شيءِ الله کي گهربل آهي اُها رڳو اِها آهي ته اصل ڳالهه کان ماڻهن کي چڱي طرح آگاهه ڪري ڇڏجي ۽ اِهو ڪم الله جي مدد سان لازمي طور پورو ٿي رهندو آهي.

سَمّٰعُوْنَ لِلْكَذِبِ اَكّٰلُوْنَ لِلسُّحْتِ ؕ فَاِنْ جَآءُوْكَ فَاحْكُمْ بَيْنَهُمْ اَوْ اَعْرِضْ عَنْهُمْ ۚ وَ
اِنْ تُعْرِضْ عَنْهُمْ فَلَنْ يَّضُرُّوْكَ شَيْـًٔا ؕ وَ اِنْ حَكَمْتَ فَاحْكُمْ بَيْنَهُمْ بِالْقِسْطِ ؕ اِنَّ
اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ ﴿۴۲﴾ وَ كَيْفَ يُحَكِّمُوْنَكَ وَ عِنْدَهُمُ التَّوْرٰىةُ فِيْهَا حُكْمُ اللّٰهِ ثُمَّ
ع ٦ ٩ ١٠ يَتَوَلَّوْنَ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ ؕ وَ مَآ اُولٰٓئِكَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۴۳﴾ؑ

اُهي ڪوڙ ڪي ڪن ڏئي ٻڌڻ وارا آهن، گهڻو حرام کائڻ وارا آهن. جيڪڏهن اُهي تو وٽ اچن ته چاهي انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪر يا انهن کان منهن موڙ. جيڪڏهن تون انهن کان منهن موڙيندين ته به اُهي تنهنجو ڪجهه بگاڙي نه ٿا سگهن. ۽ جيڪڏهن تون انهن ۾ فيصلو ڪرين ته انصاف مطابق فيصلو ڪر. الله انصاف ڪرڻ وارن کي پسند ڪري ٿو. ۽ اُهي تو کان ڪيئن ٿا فيصلو ڪرائين حالانڪ انهن وٽ توريت آهي جنهن ۾ الله جا حڪم موجود آهن. پر تنهن هوندي به هو ان کان منهن موڙي رهيا آهن. ۽ اُهي ماڻهو هرگز ايمان وارا نه آهن. ٤٢-٤٣

---

حرام (سُحت) مان مراد رشوت آهي. رشوت جي هڪ عام شڪل اُها آهي جيڪا سڌو سنئون انهيءَ نالي سان ونجي ٿي. جيتوڻيڪ يهودي عالمن ۾ اِهڙا ماڻهو هئا جيڪي رشوت وٺي غلط مسئلا ٻڌائيندا هئا. پر رشوت جي هڪ ٻي صورت اُها آهي، جنهن ۾ سڌو سنئون ڏي وٺ نه هوندي آهي. پر اُها سيني رشوتن کان وڏي ۽ وڏيڪ بڇڙي رشوت ٿيندي آهي. اِها آهي دين کي عوام جي پسند مطابق ٺاهي پيش ڪرڻ، ته جيئن عوام جي وچ ۾ مقبوليت حاصل ٿئي، ماڻهن کان اعزاز ۽ اڪرام ملي، ماڻهن کان چندا ۽ نذرانا وصول ٿيندا رهن.

دين کي ان جي خالص صورت ۾ پيش ڪرڻ هميشه ان قيمت تي هوندو آهي ته ماڻهو عوام جي اندر نامقبول ٿي وڃي. ان جي ابتڙ دين کي جيڪڏهن اهڙي صورت ۾ پيش ڪيو وڃي ته زندگيءَ ۾ حقيقتًا ڪا به تبديلي نه ڪرڻي پوي ۽ ماڻهوءَ کي دين به حاصل رهي، ته اهڙي دين جي چوطرف تمام جلد ميڙ جا ميڙ جمع ٿي ويندا آهن. اُهو دين جنهن ۾ پنهنجي دنيا پرستي واري زندگي کي بدلائي بغير ڪجهه سستن عملن جي ذريعي جنت ملي رهي هجي، اُهو دين جيڪو قومي ۽ مادي هنگامن کي ديني جواز عطا ڪندو هجي، اُهو دين جنهن ۾ اهو موقعو هجي ته ماڻهو پنهنجي شان ۽ شوڪت جي لاءِ سرگرم رهي، پوءِ به هو جيڪو ڪجهه ڪري سڀ دين جي کاتي ۾ لکيو وڃي جيڪي ماڻهو اهڙي قسم جو دين پيش ڪن، اُهي تمام جلد عوام جي اندر محبوب جو مقام حاصل ڪري وٺندا آهن.

يهودين جا اڳواڻ انهيءَ قسم جي دين کي هلائي عوام جي توجهه جا مرڪز بڻجي ويا هئا. اُهي عوام کي انهن جي پسند جو دين پيش ڪري رهيا هئا ۽ عوام ان جي بدلي ۾ انهن کي مالي تعاون ۽ اعزاز و اڪرام تائين هر شيءِ نڇاور ڪري رهيا هئا. اهڙي حالت ۾ رسول الله ﷺ جو سچي دين جي آواز کي بلند ڪرڻ انهن کي ناقابل برداشت معلوم ٿيو. ڇاڪاڻ ته اِهو انهن جي مفاد جي ڍانچي کي ٽوڙڻ جي هم معنيٰ هو، پاڻ ﷺ سان انهن کي ابتڙو ضد ٿي ويو جو پاڻ ﷺ جي متعلق ڪنهن سڄي خبر سان به انهن کي ڪا دلچسپي نه رهي. البت جيڪڏهن اُهي پاڻ ﷺ جي باري ۾ ڪا بري خبر ٻڌندا هئا ته اُن ۾ گهڻي دلچسپي وٺندا هئا ۽ ان ۾ اضافو ڪري ان کي ڦهلائي ڇڏيندا هئا. جن ماڻهن ۾ اهڙي قسم

جو بگاڙ اچي وڃي ته انهن جو حال اِهو ٿيندو آهي جو جيڪڏهن اُهي ديني فيصلو وٺڻ جي لاءِ ايندا آهن ته ان اميد سان ته فيصلو سندن خواهش جي مطابق ٿيندو. جيڪڏهن ائين نه ٿئي ته اِهو چاٽيندي به ته اِهو خدا ۽ رسول جو فيصلو آهي، ان کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندا آهن. اُهي وساري ٿا ڇڏين ته ائين ڪرڻ رڳو هڪ فيصلي کي نه مڃڻ نه آهي بلڪ خود ايمان ۽ اسلام جو انڪار ڪرڻ آهي.

اِنَّآ اَنۡزَلۡنَا التَّوۡرٰىةَ فِيۡهَا هُدًى وَّ نُوۡرٌ ۚ يَحۡكُمُ بِهَا النَّبِيُّوۡنَ الَّذِيۡنَ اَسۡلَمُوۡا لِلَّذِيۡنَ هَادُوۡا وَ الرَّبّٰنِيُّوۡنَ وَ الۡاَحۡبَارُ بِمَا اسۡتُحۡفِظُوۡا مِنۡ كِتٰبِ اللّٰهِ وَ كَانُوۡا عَلَيۡهِ شُهَدَآءَ ۚ فَلَا تَخۡشَوُا النَّاسَ وَ اخۡشَوۡنِ وَ لَا تَشۡتَرُوۡا بِاٰيٰتِىۡ ثَمَنًا قَلِيۡلًا ؕ وَ مَنۡ لَّمۡ يَحۡكُمۡ بِمَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡكٰفِرُوۡنَ ﴿۴۴﴾ وَ كَتَبۡنَا عَلَيۡهِمۡ فِيۡهَاۤ اَنَّ النَّفۡسَ بِالنَّفۡسِ ۙ وَ الۡعَيۡنَ بِالۡعَيۡنِ وَ الۡاَنۡفَ بِالۡاَنۡفِ وَ الۡاُذُنَ بِالۡاُذُنِ وَ السِّنَّ بِالسِّنِّ ۙ وَ الۡجُرُوۡحَ قِصَاصٌ ؕ فَمَنۡ تَصَدَّقَ بِهٖ فَهُوَ كَفَّارَةٌ لَّهٗ ؕ وَ مَنۡ لَّمۡ يَحۡكُمۡ بِمَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوۡنَ ﴿۴۵﴾ وَ قَفَّيۡنَا عَلٰٓى اٰثَارِهِمۡ بِعِيۡسَى ابۡنِ مَرۡيَمَ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيۡنَ يَدَيۡهِ مِنَ التَّوۡرٰىةِ ۖ وَ اٰتَيۡنٰهُ الۡاِنۡجِيۡلَ فِيۡهِ هُدًى وَّ نُوۡرٌ ۙ وَّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيۡنَ يَدَيۡهِ مِنَ التَّوۡرٰىةِ وَ هُدًى وَّ مَوۡعِظَةً لِّلۡمُتَّقِيۡنَ ﴿۴۶﴾ وَ لۡيَحۡكُمۡ اَهۡلُ الۡاِنۡجِيۡلِ بِمَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ فِيۡهِ ؕ وَ مَنۡ لَّمۡ يَحۡكُمۡ بِمَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡفٰسِقُوۡنَ ﴿۴۷﴾

بيشڪ اسان توريت کي نازل ڪيو آهي، جنهن ۾ هدايت ۽ روشني آهي. اُن مطابق خدا جا فرمانبردار نبي يهودين جا فيصلا ڪندا هئا ۽ انهن جا درويش ۽ عالم پڻ، ان ڪري جو اُهي خدا جي ڪتاب جا نگهبان مقرر ڪيا ويا هئا. ۽ اُهي ان تي شاهد به هئا. تنهن ڪري توهان انسانن کان نه ڊڄو، مون کان ڊڄو ۽ منهنجي آيتن کي ٿوري ملهه تي نه وڪڻو. ۽ جيڪي الله جي نازل ڪيل مطابق فيصلو نه ڪن ته اُهي ئي ماڻهو ڪافر آهن ۽ اسان اُن ڪتاب ۾ انهن لاءِ لکي ڇڏيو هو ته جان جي بدلي جان ۽ اک جي بدلي اک ۽ نڪ جي بدلي نڪ ۽ ڪن جي بدلي ڪن ۽ ڏند جي بدلي ڏند ۽ زخمن جو بدلو انهن جي برابر. پوءِ جنهن ان کي معاف ڪري ڇڏيو ته اُهو سندس لاءِ ڪفارو هوندو. ۽ جيڪو ماڻهو ان جي مطابق فيصلو نه ڪري جيڪو الله نازل ڪيو آهي ته اُهي ئي ماڻهو ظالم آهن. ۽ اسان ان جي پويان عيسيٰ پٽ مريم کي موڪليو تصديق ڪندڙ پاڻ کان اڳ ۾ آيل ڪتاب توريت جي ۽ اسان ڪيس انجيل عطا فرمايو. جنهن ۾ هدايت ۽ نور آهي، ۽ اِهو تصديق ڪندڙ هو پاڻ کان اڳ ۾ آيل ڪتاب توريت جي ۽ هدايت ۽ نصيحت ڊڄڻ وارن لاءِ ۽ انجيل وارن کي گهرجي ته ان مطابق فيصلو ڪن، جيڪو الله ان ۾ نازل ڪيو آهي. ۽ جيڪي ان مطابق فيصلو نه ڪندا جيڪو الله نازل ڪيو ته اُهي ماڻهو نافرمان آهن. ٤٤-٤٧

---

خدا جو ڪتاب ان لاءِ ايندو آهي ته ماڻهن کي ابدي فلاح جو رستو ڏيکاري. خواهش پرستي جي اونداهي مان ڪڍي انهن کي حق پرستي جي روشني ۾ آڻي. جيڪي خدا کان ڊڄڻ وارا آهن، اُهي خدا

جي ڪتاب کي خدا ۽ ٻانهي جي وچ ۾ مقدس عهد سمجهن ٿا. جنهن ۾ پنهنجي طرفان گهٽتائي يا واڌارو جائز نہ هجي. اُهي ان جي تعميل اهڙي طرح ڪندا آهن، جيئن ڪنهن وٽ ڪا امانت هجي ۽ هو ٺيڪ ٺيڪ ان جي ادائگي ڪري. الله جو ڪتاب ٻانهن جي حق ۾ الله جو فيصلو هوندو آهي. ضروري آهي تہ زندگيءَ جي معاملن ۾ انهي جي هدايت تي هلجي ۽ ٻاهمي جهيڙن ۽ مسئلن ۾ ان جي حڪمت مطابق فيصلو ڪيو وڃي. خدا جي ڪتاب کي جيڪڏهن اِها حڪم واري حيثيت نہ ڏني وڃي، بلڪ پنهنجي معاملن ۽ جهيڙن کي پنهنجي دنياوي مصلحتن جي تابع رکيو وڃي تہ اِهو خدا جي ڪتاب جو انڪار هوندو، چاهي برڪت جي طور تي ان جو ڪيتروئي گهڻو ظاهري احترام ڪيو وڃي. جيڪي ماڻهو پاڻ کي مسلم چون، پر انهن جو حال اِهو هجي جو هو اختيار ۽ آزادي هوندي بہ پنهنجن معاملن جو فيصلو الله جي ڪتاب مطابق نہ ڪن، بلڪ خواهشن جي شريعت تي هلن تہ اُهي الله جي نظر ۾ ڪافر ۽ ظالم ۽ فاسق آهن. اُهي خدا جي حاڪماڻي حيثيت جو انڪار ڪرڻ وارا آهن. اُهي حق کي ضايع ڪندڙ آهن. اُهي خدا جي اطاعت واري عهد مان نڪري وڃڻ وارا آهن. شريعت جي حڪم کي ڄاڻي واڻي نظر انداز ڪرڻ کان پوءِ خدا وٽ ماڻهو جي ڪا حيثيت باقي نہ ٿي رهي.

قصاص جي سلسلي ۾ شريعت جي تقاضا آهي تہ ڪنهن جي حيثيت جي پرواهہ ڪرڻ کانسواءِ ان کي نافذ ڪيو وڃي، پر ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو جي اڳرائي ان جي شرپسندي جي ڪري نہ هوندي آهي، بلڪ وقتي جذبي جي ڪري ٿي ويندي آهي. اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن ٻي ڌُر ظالم کي معاف ڪري ڇڏي تہ اِها اُن جي طرفان ظالم جي لاءِ هڪ صدقو هوندو ۽ سماج ۾ وسعت ۽ درگزر واري فضا پيدا ڪرڻ جو ذريعو بہ.

وَ اَنْزَلْنَاۤ اِلَيْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ مِنَ الْكِتٰبِ وَ مُهَيْمِنًا عَلَيْهِ فَاحْكُمْ بَيْنَهُمْ بِمَاۤ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَ لَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَهُمْ عَمَّا جَآءَكَ مِنَ الْحَقِّ ؕ لِكُلٍّ جَعَلْنَا مِنْكُمْ شِرْعَةً وَّ مِنْهَاجًا ؕ وَ لَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَجَعَلَكُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّ لٰكِنْ لِّيَبْلُوَكُمْ فِيْ مَاۤ اٰتٰىكُمْ فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرٰتِ ؕ اِلَى اللّٰهِ مَرْجِعُكُمْ جَمِيْعًا فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ۟ۙ ٤٨

۽ اسان توڏانهن حق سان ڪتاب نازل ڪيو، تصديق ڪندڙ اڳ ۾ آيل ڪتاب جي ۽ ان جي مضمونن تي نگهبان، تنهن ڪري تون انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪر ان جي مطابق جيڪو الله نازل ڪيو آهي. ۽ جيڪو حق تو وٽ آيو آهي، ان کي ڇڏي انهن جي خواهشن جي پيروي نہ ڪر. اسان اوهان ۾ هر هڪ لاءِ هڪ شريعت ۽ هڪ طريقو مقرر ڪيو آهي. ۽ جيڪڏهن الله چاهي ها تہ توهان سيني کي هڪ ئي امت بڻائي ها. پر الله چاهيو تہ هو پنهنجي ڏنل حڪمن ۾ اوهان جي آزمائش ڪري، تنهن ڪري اوهان نيڪي جي ڪمن ۾ اڳرائي ڪريو. اوهان سيني کي آخر الله ڏانهن ئي موٽڻو آهي. پوءِ جنهن شيءِ بابت اوهان اختلاف ڪندا هئا، ان جي اوهان کي خبر ڏيندو. ٤٨

---

هتي "ڪتاب" مان مراد دين جي اصلي ۽ بنيادي تعليم آهي. الله جو هِي ڪتاب هڪ ئي

ڪتاب آهي ۽ اهوئي هڪ ڪتاب آهي جيڪو زبان ۽ ترتيب جي فرق سان سڀني نبين ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي، جيئن ته دين جي حقيقت جنهن ظاهري ڍانچي ۾ ظاهر ٿيندي آهي. ان ۾ مختلف نبين جي وچ ۾ فرق ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان فرق جو سبب اِهو نہ آهي جو دين جي نازل ڪرڻ ۾ ڪا ارتقائي ترتيب آهي. يعني شروع ۾ گهٽ ترقي يافتہ ۽ غير ڪامل دين نازل ڪيو ويو ۽ ان ڪانپوءِ گهٽو ترقي يافتہ ۽ وڌيڪ ڪامل دين نازل ٿيو. هِن فرق جو سبب خدا جي آزمائش واري حڪمت آهي نہ وري ارتقا واري حڪمت. قرآن مطابق ايئن رڳو ان ڪري ٿيو تہ ماڻهن کي آزمايو وڃي. زمانو گذرڻ کان پوءِ ايئن ٿيندو تہ دين جي اندر واري حقيقت گم ٿي ويندي آهي ۽ ظاهري عمل ۽ رسمون مقدس ٿي اصل دين بڻجي ويندا آهن. ماڻهو عبادت ان کي سمجهي وٺندا آهن تہ هڪ خاص ڍانچي کي ظاهري شرطن مطابق دهرائڻ ڪافي آهي. ان ڪري ظاهري ڍانچي ۾ بار بار تبديليون ڪيون ويون، تہ جيئن ڍانچي کي مقصد بڻائڻ وارو ذهن ختم ٿي وڃي ۽ خدا ڪانسواءِ ٻي ڪا شيءِ توجهہ جو مرڪز بڻجي نہ سگهي. اُن جو هڪ مثال قبلي جي تبديلي آهي. بني اسرائيل کي حڪم هو تہ اُهي بيت المقدس ڏانهن رخ ڪري عبادت ڪن. اِهو حڪم رڳو رخ بنديءَ جي لاءِ هو. پر آهستي آهستي انهن جو ذهن اِهو بڻجي ويو تہ بيت المقدس ڏانهن رخ ڪرڻ جو نالو ئي عبادت آهي. ان وقت پوئين حڪم کي بدلائي ڪعبہ کي قبلو بڻايو ويو. هاڻي ڪجهہ ماڻهو پوئين روايت سان چنبڙيل رهيا ۽ ڪجهہ ماڻهن خدا جي هدايت کي پائي ورتو. اِهڙي طرح قبلي جي تبديلي سان اِهو پڌرو ٿي ويو تہ ڪير در ۽ ديوار جي پوڄا ڪرڻ وارو هو ۽ ڪير خدا کي پوڄڻ وارو. (البقره: ١٤٣)

هاڻي اُن قسم جي تبديليءَ جو ڪوبہ امڪان نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ ڍانچي کي نبي بدلائيندو آهي ۽ هاڻي ڪو نبي اچڻ وارو نہ آهي. پر جيستائين اصل مقصد جو تعلق آهي اُهو اجا بہ باقي آهي. هاڻي بہ خدا وٽ ان جو سچو پرستار اُهوئي شمار ٿيندو جيڪو ظاهري ڍانچي جي پابندي جي باوجود ظاهري ڍانچي کي مقصد جو درجو نہ ڏي جيڪو ظاهر کان ذهن کي آزاد ڪري خدا جي عبادت ڪري. پهرين اِهو مقصد ظاهري ڍانچي کي ٽوڙي حاصل ٿيندو هو، هاڻي ان کي ذهني شڪست ڏيڻ جي ذريعي حاصل ڪرڻو پوندو.

ظاهري پهلو جي نالي تي دين ۾ جيڪي جهڳڙا آهن. اُهي رڳو ان لاءِ آهن جو ماڻهن جي غفلت انهن کي اصل حقيقت کان بيخبر ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن حقيقت انهن کي اهڙي طرح ملي وڃي، جهڙي طرح اُها آخرت ۾ ڏسڻ ۾ ايندي تہ سڀ جهڳڙا هينئر ئي ختم ٿي وڃن.

وَ اَنِ احْكُمْ بَيْنَهُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَ لَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَهُمْ وَ احْذَرْهُمْ اَنْ يَّفْتِنُوْكَ عَنْۢ
بَعْضِ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ اِلَيْكَ ؕ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاعْلَمْ اَنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّصِيْبَهُمْ بِبَعْضِ
ذُنُوْبِهِمْ ؕ وَ اِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ لَفٰسِقُوْنَ ﴿٤٩﴾ اَفَحُكْمَ الْجَاهِلِيَّةِ يَبْغُوْنَ ؕ وَ مَنْ
ع ٧ / ١١ اَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ حُكْمًا لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿٥٠﴾

۽ تون انهن جي وچ ۾ اُن مطابق فيصلو ڪر جيڪو الله نازل ڪيو آهي ۽ انهن جي خواهشن جي پيروي نہ ڪر ۽ انهن کان بچ، متان تو کي تو ڏانهن الله جي نازل ڪيل ڪنهن حڪم کان ٿيڙي وجهن. پوءِ جيڪڏهن هو ڦري وڃن تہ سمجهي ڇڏ تہ الله انهن کي سندن ڪن گناهن جي ڪري سزا ڏيڻ گهري ٿو. ۽ يقينًا ماڻهن مان گهڻا ماڻهو نافرمان آهن. ڇا هو جاهليت وارا فيصلا طلبين ٿا. ۽ الله کان وڌيڪ ڪنهن جو فيصلو ٿي سگهي ٿو انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي يقين ڪرڻ چاهين. ٤٩-٥٠

---

قرآن ۽ ٻيا آسماني ڪتاب الڳ الڳ ڪتاب نہ آهن. اهي سڀ هڪ ئي ڪتاب الٰهي جا مختلف ايڊيشن آهن. جنهن کي هتي ”الڪتاب“ چيو ويو آهي. خدا جي طرفان جيترا بہ ڪتاب آيا، چاهي اُهي جنهن بہ دور ۾ ۽ جنهن بہ زبان ۾ آيا هجن، سڀني جو مشترڪ مضمون هڪڙو ئي هو. جيئن تہ اڳين ڪتابن وارا بعد جي زماني ۾ اُن کي اُن جي اصلي صورت ۾ محفوظ نہ رکي سگهيا. اُن ڪري خدا هڪ مهيمن ڪتاب (قرآن) نازل ڪيو. اِهو خدا جي طرفان اُن جي ڪتاب جو تصديق ٿيل ايڊيشن آهي. اُن ڪري اِها هڪ ڪسوٽي آهي، جنهن تي جانچي معلوم ڪيو وڃي تہ باقي ڪتابن جو ڪهڙو حصو اصلي حالت ۾ آهي ۽ ڪهڙو اُهو آهي جنهن کي بدلايو ويو آهي.

يهودين خدا جي سچي دين سان گڏ پنهنجن ڳالهين کي ملائي هڪ هٿ ٺوڪيل دين ٺاهي ڇڏيو هو. اُن هٿ ٺوڪيل دين سان انهن جون عقيدتون ۽ مفاد وابستہ هئا. اُن ڪري اُهي ڪنهن بہ صورت ۾ تيار نہ هئا تہ اُن کي ڇڏي پيغمبر جي آندل خالص دين کي مڃي وٺن. انهن حق جي اڀيان جهڪڻ جي بدران پاڻ لاءِ اِهو طريقو پسند ڪيو تہ هو حق جي علمبردار کي ايترو تہ پريشان ڪن تہ اُهو خود انهن جي اڳيان جهڪي وڃي. هو خدا جي سچي دين کي ڇڏي انهن جي هٿ ٺوڪيل دين کي اختيار ڪري وٺي. خدا جيڪڏهن چاهي ها تہ پهرين ئي مرحلي ۾ انهن ظالمن جا هٿ روڪي ڇڏي ها ۽ اُهي حق جي داعي کي ستائڻ ۾ ڪامياب نہ ٿين ها. پر الله انهن کي ڇوٽ ڏني تہ هو پنهنجي ناپاڪ منصوبن تي عمل ڪن. ائين اُن ڪري ٿيو تہ جيئن اِها ڳالهہ پڌري ٿي وڃي تہ دينداريءَ جا دعويدار سڀني کان وڌيڪ بي دين ماڻهو آهن. اُهي خدا جا پرستار نہ آهن، بلڪ خود پنهنجي ذات جا پرستار آهن. الله جي اِها سنت جيتوڻيڪ حق جي داعين لاءِ وڏو سخت امتحان آهي، پر اِهو ئي اُهو عمل آهي جنهن جي ذريعي اِهو فيصلو ٿيندو آهي تہ ڪير جنت جو مستحق آهي ۽ ڪير جهنم جو.

انسان جي اِها ڪمزوري آهي تہ هو پنهنجن خواهشن جي پنيان هلڻ گهري ٿو. الله جي حڪم جو پابند بڻجي رهڻ اُن کي منظور نہ آهي، ايستائين جو هو خدا جي دين جي هٿ ٺوڪيل تشريح ڪري اُن کي بہ پنهنجن خواهشن مطابق بدلائي ڇڏي ٿو. اهڙي حالت ۾ خالص دين کي اُهي ئي ماڻهو قبول ڪندا جيڪي شين کي خواهشن جي سطح تي نہ ڏسندا هجن، بلڪ اُن کان مٿانهون ٿي پنهنجي راءِ قائم ڪندا هجن. الله جي ڳالهہ بيشڪ صحيح ڳالهہ آهي. پر موجوده آزمائشي دنيا ۾ هر سچائي تي هڪ شڪ جو پردو وڌو ويو آهي. ماڻهو جو امتحان اِهو آهي تہ هو اُن پردي کي ڦاڙي اُن تي يقين ڪري. هو غيب کي ظاهر ۾ ڏسي وٺي. جيڪو شخص ظاهري شڪ شبهن ۾ اٽڪي پوي تہ اُهو ناڪام ٿي ويو ۽ جيڪو ماڻهو ظاهري شڪ جي پردي مان پار ٿي سچائي کي ڳولهي لهي تہ اُهو ڪامياب ٿي ويو.

وقف لازم / وقف منزل / عند البعض / وقف غفران

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الْيَهُوْدَ وَ النَّصٰرٰۤى اَوْلِيَآءَ ۘ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ؕ وَ
مَنْ يَّتَوَلَّهُمْ مِّنْكُمْ فَاِنَّهٗ مِنْهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۵۱﴾ فَتَرَى الَّذِيْنَ
فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ يُّسَارِعُوْنَ فِيْهِمْ يَقُوْلُوْنَ نَخْشٰۤى اَنْ تُصِيْبَنَا دَآئِرَةٌ ؕ فَعَسَى اللّٰهُ
اَنْ يَّاْتِيَ بِالْفَتْحِ اَوْ اَمْرٍ مِّنْ عِنْدِهٖ فَيُصْبِحُوْا عَلٰى مَاۤ اَسَرُّوْا فِيْۤ اَنْفُسِهِمْ نٰدِمِيْنَ ﴿۵۲﴾ وَ
يَقُوْلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَهٰۤؤُلَآءِ الَّذِيْنَ اَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ ۙ اِنَّهُمْ لَمَعَكُمْ ؕ
الثلثة حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فَاَصْبَحُوْا خٰسِرِيْنَ ﴿۵۳﴾

اي ايمان وارؤ! يهودين ۽ نصارن کي دوست نہ بڻايو. اُهي هڪٻئي جا دوست آهن ۽ اوهان مان جيڪو شخص انهن کي پنهنجو دوست بڻائيندو تہ اهو انهن ئي مان ٿيندو. الله ظالم ماڻهن کي راهہ نہ ٿو ڏيکاري. تون ڏسين ٿو تہ جن جي دلين ۾ بيماري آهي سي انهن ڏانهن ڀڳا وڃن ٿا. اُهي چون ٿا تہ اسان ڊڄون ٿا تہ اسان ڪنهن مصيبت ۾ نہ ڦاسي وڃون. پوءِ ممڪن آهي تہ الله فتح ڏئي ڇڏي يا پاڻ وٽان ڪا خاص ڳالهہ ظاهر ڪري، پوءِ اهي ماڻهو اُن شيءِ تي جيڪا هو پنهنجي دلين ۾ لڪايو ويٺا آهن پشيمان ٿيندا. ۽ اُن وقت ايمان وارا چوندا ڇا هي اُهي ئي ماڻهو آهن جيڪي الله جا زور شور سان وڏا قسم کڻي يقين ڏياريندا هئا تہ اسان اوهان سان گڏ آهيون. سندن سڀ عمل ڇٽ تي ويا ۽ اُهي خساري وارا ٿيا. ٥١-٥٣

---

عربستان ۾ مسلمان هڪ نئين طاقت جي حيثيت رکندا هئا. انهن جا مخالف انهن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڏينهن رات لڳل هئا. ٻئي طرف مُلڪ جي يهودي ۽ عيسائي قبيلن جو اِهو حال هو جو اُهي ملڪ جي اڪثر اقتصادي وسيلن تي قابض هئا ۽ صدين جي تاريخ انهن جي عظمت ماڻهن جي دلين ۾ ويهاري ڇڏي هئي. ماڻهن کي يقين نہ هو تہ اهڙي طاقت کي ملڪ مان ختم ڪري سگهجي ٿو. تنهن ڪري مسلمانن جي جماعت ۾ جيڪي ڪمزور ماڻهو هئا، اُهي چاهيندا هئا تہ اسلام جي جدوجهد ۾ اهڙي طرح شريڪ نہ ٿيون جو يهودين ۽ نصارن کي پنهنجو دشمن بڻائي وٺون. جيڪڏهن اها ڇڪتاڻ مسلمانن جي شڪست تي ختم ٿئي تہ يهودين ۽ نصارن جي طرفان انهن کي ڪنهن انتقامي ڪارروائي جو نشانو نہ ٿيڻو پوي. اِهي ماڻهو مستقبل جي خطري کان بچڻ لاءِ پاڻ کي وقت جي يقيني خطري ۾ وجهي رهيا هئا ۽ اها انهن جي ٻہ طرفي وفاداري هئي. جيڪو ماڻهو آسان معاملن ۾ حق پرست بڻجي ۽ نقصان جو انديشو هجي تہ باطل پرستن جو ساٿ ڏيڻ لڳي. ان جو انجام خدا وٽ انهن ماڻهن ۾ ٿيندو جن جو هُن خطري جي موقعي تي ساٿ ڏنو هو.

ڪنهن جي زندگي ۾ اُهو وقت وڏو نازڪ ٿيندو آهي، جڏهن اسلام تي قائم رهڻ جي لاءِ اُن کي ڪنهن قسم جي قرباني ڏيڻي پوي. اِهڙا موقعا ماڻهو جي اسلام جي تصديق يا ترديد جي لاءِ ايندا آهن. خدا چاهي ٿو تہ ماڻهو جنهن اسلام جو ثبوت امن واري حالتن ۾ ڏئي رهيو آهي، ان اسلام جو ثبوت هو ان وقت بہ ڏي جڏهن جذبن کي دٻائي يا جان ۽ مال کي خطري ۾ وجهي ماڻهو پنهنجي اسلام جو ثبوت پيش ڪري ٿو. ان ئي امتحان ۾ پورو لهڻ ڪاٻپوءِ ئي ماڻهو اُن قابل بڻجي ٿو تہ اُن جو خدا ان کي پنهنجي

وفادار ٻانهن ۾ لکي ڇڏي. اُنهن موقعن تي اسلام سان وفاداريءَ جو ثبوت ڏيڻ ئي ڪنهن ماڻهو جي پوئين عملن ڪي قيمت وارو بڻائيندو آهي ۽ جيڪڏهن اُهو اِهڙن موقعن تي اسلام سان وفاداريءَ جو ثبوت نہ ڏئي سگهي تہ ان جو مطلب اِهو آهي تہ هُن پنهنجن پوئين سڀني عملن ڪي بي قيمت ڪري ورتو.

دنيا جو هر امتحان ارادي جو امتحان آهي. ماڻهو ڪي رڳو اِهو ڪرڻو آهي تہ هو خطرن ڪي نظر انداز ڪندي ارادي جو ثبوت ڏي، هو الله ڏانهن پنهنجو پهريون قدم ڪٽي ڇڏي. ان ڪان پوءِ جلد خدا جي مدد اُن جو سهارو بڻجي ويندي آهي. پر جيڪو شخص ارادي جو ثبوت نہ ڏي جيڪو خدا ڏانهن پنهنجو پهريون قدم نہ ڪٽي، اُهو الله جي نظر ۾ ظالم آهي. اهڙن ماڻهن ڪي خدا پنهنجي طرفان مدد جو سهارو نہ موڪليندو آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَنْ يَّرْتَدَّ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ فَسَوْفَ يَاْتِي اللّٰهُ بِقَوْمٍ يُّحِبُّهُمْ وَ
يُحِبُّوْنَهٗٓ ۙ اَذِلَّةٍ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اَعِزَّةٍ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ۡ يُجَاهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ لَا
يَخَافُوْنَ لَوْمَةَ لَآئِمٍ ؕ ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٥٤﴾ اِنَّمَا
وَلِيُّكُمُ اللّٰهُ وَ رَسُوْلُهٗ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوا الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَ يُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَ هُمْ
رٰكِعُوْنَ ﴿٥٥﴾ وَمَنْ يَّتَوَلَّ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فَاِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿٥٦﴾ ع ٨ ١٢

اي ايمان وارؤ! اوهان مان جيڪو شخص پنهنجي دين ڪان ڦرندو تہ الله جلد ئي اِهڙن ماڻهن ڪي اٿاريندو جيڪي الله ڪي محبوب هوندا ۽ الله انهن ڪي محبوب هوندو. اهي مسلمانن جي لاءِ نرم ۽ ڪافرن تي سخت هوندا. اُهي الله جي راهہ ۾ جهاد ڪندا ۽ ڪنهن ملامت ڪندڙ جي ملامت ڪان نہ ڊڄندا. اِهو الله جو فضل آهي، هُو جنهن ڪي چاهي ٿو عطا ڪري ٿو. ۽ الله وسعت وارو ۽ علم وارو آهي. اوهان جو دوست تہ فقط الله ۽ سندس رسول ۽ اهي ايمان وارا آهن جيڪي نماز قائم ڪن ٿا ۽ زڪوات ڏين ٿا ۽ اُهي الله جي اڳيان جهڪڻ وارا آهن. ۽ جيڪو شخص الله ۽ سندس رسول ۽ ايمان وارن ڪي دوست بڻائي ٿو تہ بيشڪ الله جي جماعت ئي غالب ٿيندڙ آهي. ٥٤-٥٦

---

ايمان آڻڻ ڪانپوءِ جيڪو شخص ايمان جا تقاضا پورا نہ ڪري، اُهو الله جي نظر ۾ دين ڪي قبول ڪرڻ ڪانپوءِ دين ڪان ڦري ويو. الله جي نظر ۾ سچي ايمان وارا ماڻهو اُهي آهن جن جي اندر ايمان اهڙي طرح داخل ٿئي جو انهن جو محبت جي سطح تي الله سان تعلق پيدا ٿي وڃي، انهن ڪي اسلامي مقصدن جي تڪميل ايتري محبوب هجي جو جيڪي ماڻهو اسلام جي راهہ ۾ اُنهن جا پائر بڻجي وڃن، انهن جي لاءِ سندن دلين ۾ نرمي ۽ همدردي ڪان سواءِ ڪا شيءِ باقي نہ رهي. اُهي مسلمانن جي لاءِ ان حد تائين شفيق بڻجي وڃن جو انهن جي طاقت ۽ صلاحيت ڪڏهن بہ مسلمانن جي مقابلي ۾ استعمال نہ ٿئي. اُهي دين جي معاملي ۾ ايترا پختا هجن جو غير اسلامي ماڻهن جي فڪر ۽ عمل جو ڪو بہ اثر قبول نہ ڪن. اُنهن جا جذبا ان حد تائين اصولن جي تابع هجن جو اُهي مسلمانن جي لاءِ گل ڪان بہ وڌيڪ لطيف ثابت ٿين، پر غير مسلمانن جي لاءِ اُهي پٿر ڪان بہ سخت بڻجي وڃن. ڪو غير مسلم ڪڏهن بہ انهن ڪي پنهنجي مقصد جي لاءِ استعمال نہ ڪري سگهي.

اسلامي زندگي هڪ با مقصد زندگي آهي ۽ انهيءَ ڪري ئي اُها جدوجهد واري زندگي آهي ۽ مسلمانن جو مشن اِهو آهي تہ هو الله جي دين کي سڀني ٻانهن تائين پهچائين. جهنم ڏانهن ويندڙ دنيا کي جنت واري رستي تي آڻڻ جي ڪوشش ڪن. ان ڪم ۾ فطري طور ماڻهن کي طرح طرح جون مشڪلاتون ۽ طرح طرح جون ملامتون پيش اينديون آهن. ايستائين جو ٻہ الڳ الڳ گروه ٺهي ويندا آهن. هڪ دنيا پرستن جو ۽ ٻيو آخرت جي مسافرن جو. انهن جي وچ ۾ هڪ مستقل ڇڪتاڻ شروع ٿي ويندي آهي. ماڻهوءَ جو امتحان اِهو آهي تہ انهن سڀني موقعن تي هو اُن انسان وانگر ثبوت ڏي جيڪو الله جي پروسي تي هلي رهيو هجي ۽ الله کانسواءِ ڪنهن جي پرواهہ ڪرڻ بغير پنهنجو اسلامي سفر جاري رکي. ايستائين جو موت جي دروازي مان داخل ٿي خدا وٽ پهچي وڃي.

اهڙي طرح جا ماڻهو ڪنهن جڳهہ تي جڏهن ڪجهہ تعداد ۾ پيدا ٿي وڃن تہ زمين تي غلبو ٻہ انهن جي لاءِ مقدر ڪيو ويندو آهي. هي اُهي ماڻهو آهن جيڪي نماز قائم ڪن ٿا يعني انهن جو توجهہ جو مرڪز رڳو الله ٻڻجي ويندو آهي. اُهي زڪوات ادا ڪندا آهن، يعني انهن جا پاڻ ۾ تعلق هڪٻئي جي خيرخواهي تي قائم هوندا آهن. اُهي الله جي اڳيان جهڪڻ وارا هوندا آهن، يعني دنيا جي معاملن ۾ ڪا بہ شيءِ انهن کي اَنا پرستي تي آماده نہ ٿي ڪري، بلڪ هو هر موقعي تي اُهو ئي ڪندا آهن جيڪو الله چاهي. اُهي عاجزي اختيار ڪرڻ وارا هوندا آهن نہ وري سرڪشي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تَتَّخِذُوا الَّذِيۡنَ اتَّخَذُوۡا دِيۡنَكُمۡ هُزُوًا وَّ لَعِبًا مِّنَ الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا
الۡكِتٰبَ مِنۡ قَبۡلِكُمۡ وَ الۡكُفَّارَ اَوۡلِيَآءَ ۚ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ﴿۵۷﴾ وَ اِذَا نَادَيۡتُمۡ
اِلَى الصَّلٰوةِ اتَّخَذُوۡهَا هُزُوًا وَّ لَعِبًا ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ قَوۡمٌ لَّا يَعۡقِلُوۡنَ﴿۵۸﴾ قُلۡ يٰۤاَهۡلَ الۡكِتٰبِ
هَلۡ تَنۡقِمُوۡنَ مِنَّاۤ اِلَّاۤ اَنۡ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَ مَاۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡنَا وَ مَاۤ اُنۡزِلَ مِنۡ قَبۡلُ ۙ وَ اَنَّ
اَكۡثَرَكُمۡ فٰسِقُوۡنَ﴿۵۹﴾ قُلۡ هَلۡ اُنَبِّئُكُمۡ بِشَرٍّ مِّنۡ ذٰلِكَ مَثُوۡبَةً عِنۡدَ اللّٰهِ ؕ مَنۡ لَّعَنَهُ اللّٰهُ
وَ غَضِبَ عَلَيۡهِ وَ جَعَلَ مِنۡهُمُ الۡقِرَدَةَ وَ الۡخَنَازِيۡرَ وَ عَبَدَ الطَّاغُوۡتَ ؕ اُولٰٓئِكَ شَرٌّ
مَّكَانًا وَّ اَضَلُّ عَنۡ سَوَآءِ السَّبِيۡلِ﴿۶۰﴾

اي ايمان وارؤ! انهن ماڻهن کي پنهنجو دوست نہ بڻايو جن اوهان جي دين کي مذاق ۽ تماشو بڻائي ورتو آهي، انهن ماڻهن مان جن کي توهان کان پهرين ڪتاب ڏنو ويو ۽ نہ ڪافرن کي ۽ الله کان ڊڄندا رهو، جيڪڏهن اوهان ايمان وارا آهيو ۽ جڏهن اوهان نماز جي لاءِ سڏيو ٿا تہ اُهي ماڻهو ان کي بہ مذاق ۽ راند ڪري وٺن ٿا. اُهو ان ڪري جو اُهي عقل نہ ٿا رکن. چئو اي اهل ڪتاب! توهان اسان سان رڳو ان ڪري ضد رکو ٿا جو اسان ايمان آندو آهي الله تي ۽ جيڪو اسان ڏي نازل ڪيو ويو آهي اُن تي ۽ جيڪو اسان کان اڳ ۾ نازل ٿيو ۽ اوهان مان اڪثر ماڻهو نافرمان آهن. چئو ڇا آئون اوهان کي ٻڌايان اُهو جيڪو الله وٽ انجام جي لحاظ کان ان کان بہ وڌيڪ برو آهي، اُهو جنهن تي الله لعنت ڪئي ۽ جنهن تي ان جو غضب ٿيو. ۽ انهن مان ڪيترن کي باندر ۽ سوئر بڻايائين ۽ جن شيطان جي پرستش ڪئي. اهڙا ماڻهو درجي جي لحاظ کان بدتر ۽ سڌي راهہ کان تمام گهڻو پري آهن. ٥٧-٦٠

اُهي ماڻهو جيڪي هٺ ٺوڪيل دين جي بنياد تي خدا پرستي جا ٺيڪيدار بڻيا ويٺا هجن، انهن جي وچ ۾ جڏهن سچي ۽ خالص دين جي دعوت اٿندي آهي ته ان جي خلاف اُهي شديد نفرت ۾ مبتلا ٿيندا آهن جو پنهنجي عقل به وڃائي ڇڏيندا آهن. ايستائين جو جيڪي شيون اختلاف جي بغير قابل احترام آهن، انهن سان به مذاق ڪرڻ لڳندا آهن. اُهوئي مديني جي يهودين جو حال هو. جيئن ته اُهي مسلمانن جي آذان جو مذاق ڪرڻ کان به نه مڙندا هئا. جيڪي ماڻهو ايترا بي حس ۽ ايترا غير سنجيده ٿي وڃن، انهن سان هڪ مسلمان جو تعلق دعوت جو ٿي سگهي ٿو، پر دوستيءَ جو نه ٿو ٿي سگهي.

انهن ماڻهن جي خدا کان بي خوفي جو اهو نتيجو ٿيندو آهي جو اُهي سچن مسلمانن کي مجرم سمجهندا آهن ۽ پنهنجن سيني ڏوهن جي باوجود پنهنجي متعلق اهو يقين رکندا آهن ته انهن جو معاملو خدا وٽ بلڪل درست آهي. جڏهن اُهي پنهنجي هِن ڪيفيت جي اصلاح نه ٿا ڪن ته آخر ۾ انهن جي بي حسي انهن کي ان حد تائين پهچائي ٿي جو اهي حق ۽ باطل جي معاملي ۾ ڪند ذهن ٿي ويندا آهن. اهي شڪل جي لحاظ کان انسان پر باطن جي لحاظ کان بدترين جانور بڻجي ويندا آهن. اُهي لطيف احساس جيڪي ماڻهوءَ جي اندر خدا جي چوڪيدار وانگر ڪم ڪندا آهن جيڪي ان کي برائين کان روڪيندا آهن. اُهي انهن جي اندر ختم ٿي ويندا آهن. مثلاً شرم و حيا، شرافت، وسيع نظر، پاڪيزه طريقن کي پسند ڪرڻ وغيره. اهڙي پستيءَ جو آخري درجو اهو آهي ته ماڻهو سچي زندگي شيطاني رستن تي هلندو رهي. جڏهن ڪو گروهه اُن حد کي پهچندو آهي ته اُهو لعنت جو مستحق بڻجي وڃي ٿو. اُهو خدا جي رحمت کان آخري حد تائين پري ٿي وڃي ٿو. ان جي انسانيت مٽجي وڃي ٿي ۽ اُهو فطرت جي سڌي رستي کان ڀٽڪي جانورن وانگر جيئڻ لڳي ٿو.

انسان کي پنهنجن خواهشن جي پويان هلڻ کان جيڪا شيءِ روڪيندي آهي اُها عقل آهي. پر جڏهن ماڻهو تي ضد ۽ دشمني جو غلبو هوندو آهي ته ان جو عقل ان جي خواهش جي هيٺ دٻجي ويندو آهي. هاڻي اُهو ظاهر ۾ انسان پر باطن ۾ حيوان هوندو آهي. ايستائين جو بصيرت وارو ماڻهو ان کي ڏسي ڄاڻي ٿو وٺي ته اُن جي ظاهري انساني ڍانچي جي اندر ڪهڙو حيوان لڪيل آهي.

وَ اِذَا جَآءُوۡكُمۡ قَالُوۡۤا اٰمَنَّا وَ قَدۡ دَّخَلُوۡا بِالۡكُفۡرِ وَ هُمۡ قَدۡ خَرَجُوۡا بِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ اَعۡلَمُ بِمَا
كَانُوۡا يَكۡتُمُوۡنَ ﴿٦١﴾ وَ تَرٰى كَثِيۡرًا مِّنۡهُمۡ يُسَارِعُوۡنَ فِى الۡاِثۡمِ وَ الۡعُدۡوَانِ وَ اَكۡلِهِمُ
السُّحۡتَ ؕ لَبِئۡسَ مَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿٦٢﴾ لَوۡ لَا يَنۡهٰهُمُ الرَّبّٰنِيُّوۡنَ وَ الۡاَحۡبَارُ عَنۡ قَوۡلِهِمُ
الۡاِثۡمَ وَ اَكۡلِهِمُ السُّحۡتَ ؕ لَبِئۡسَ مَا كَانُوۡا يَصۡنَعُوۡنَ ﴿٦٣﴾

۽ جڏهن توهان وٽ اچن ٿا ته چون ٿا ته اسان ايمان آندو حالانڪ اُهي ڪفر سان آيا ۽ ڪفر سان ئي واپس موٽيا. ۽ الله خوب ڄاڻي ٿو اُن شيءِ کي جنهن کي هو لڪائي رهيا آهن ۽ تون انهن مان اڪثر کي ڏسندين ته اُهي گناهه ۽ ظلم ۽ حرام کائڻ ۾ ڪاهي پيا آهن. ڪهڙا نه بڇڙا ڪم آهن جيڪي هو ڪري رهيا آهن، انهن جا بزرگ ۽ عالم انهن کي ڇو نٿا روڪين گناهه جي ڳالهه چوڻ کان ۽ حرام کائڻ کان. ڪهڙا نه بڇڙا ڪم آهن جيڪي هو ڪري رهيا آهن. ٦١-٦٣

مديني جي يهودين ۾ ڪجھ ماڻهو اهڙا هئا، جيڪي اسلام کان ذهني طور تي متاثر هئا ۽ اُهي اسلام جو وڌندڙ غلبو ڏسي ظاهر ظهور ان جا مخالف ٿيڻ بہ نہ چاهيندا هئا. اهي ماڻهو جيتوڻيڪ اندر ۾ پنهنجن ابن ڏاڏن جي دين تي ڄميل هئا، پر ڳالهين ۾ اِهو ظاهر ڪندا هئا تہ اُهي بہ مؤمن آهن. اِهڙا ماڻهو وساري ٿا ڇڏين تہ اصل معاملو ڪنهن انسان سان نہ بلڪ خدا سان آهي ۽ خدا اُهو آهي جيڪو دلين جو حال ڄاڻي ٿو. ڪنهن سان جيڪو بہ معاملو ڪندو حقيقت جي لحاظ کان ڪندو نہ وري انهن ڳالهين جي بنياد تي جيڪي هو مصلحت طور ڪندو هو.

خاص يهودين ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو هئا. هڪ رِبّي جن کي مشائخ چئي سگهجي ٿو. ٻيا احبار جيڪي انهن جا عالم ۽ فقيھ وانگر هئا. ٻنهي قسمن جا ماڻهو جيتوڻيڪ دين کي پنهنجي صبح ۽ شام جو مشغلو ٺاهي ويٺا هئا. دين جي نالي تي انهن جي قيادت قائم هئي ۽ دين ئي جي نالي تي انهن کي وڏيون وڏيون رقمون ملنديون هيون. پر انهن جي قيادت ۽ مقبوليت جو راز عوام جي پسند جي دين جي نمائندگي هئي نہ وري خدا جي پسند واري دين جي نمائندگي. انهن جو ڳالهائڻ ۽ هلڻ بظاهر دين جي لاءِ هو، پر حقيقت ۾ اُها هڪ قسم جي دنياداري هئي، جيڪا دين جي نالي تي جاري هئي. اُهي دين جي نالي تي ماڻهن کي اُهائي شيءِ ڏئي رهيا هئا جنهن کي هو دين جي بغير پاڻ لاءِ پسند ڪندا هئا.

خدا جو پسنديده دين تقويٰ جو دين آهي. يعني ماڻهو انسانن جي وچ ۾ اِهڙي طرح رهي جو ان جي زبان گناهہ جا ڪلما نہ ڳالهائي. هو پنهنجن سرگرمين ۾ حرام طريقن کان پوري طرح بچندو رهي. جن ماڻهن سان ان کي معاملو پيش اچي انهن سان هو انصاف ڪرڻ وارو هجي نہ وري ظلم ڪرڻ وارو. پر ماڻهو جو نفس هميشہ ان کي دنيا پرستي جي رستي تي هلائي ٿو. هو اِهڙي زندگي گذارڻ چاهي ٿو جنهن ۾ ان کي صحيح ۽ غلط کي نہ ڏسڻو پوي، بلڪ رڳو پنهنجن فائدن ۽ مصلحتن تي نظر هجي.

يهودي عوام اُن ئي حالت تي هئي. هاڻ انهن جي بزرگن ۽ عالمن جو ڪم اُهو هو تہ اُهي انهن کي اُن کان روڪين ها. پر انهن عوام سان هڪ خاموش ٺاهہ ڪري ورتو. اُهي عوام جي وچ ۾ اِهڙو دين ورهائڻ لڳا جنهن ۾ پنهنجي حقيقي زندگي کي بدلائڻ جي بغير نجات جي ضمانت هجي ۽ وڏا وڏا درجا بہ ملندا هجن. اِهي مشائخ ۽ عالم پنهنجي عوام جي حقيقي زندگين کي نہ ڇيڙيندا هئا، پر انهن کي يهودي قوم جي فضيلت جا ڪوڙا قصا ٻڌائيندا هئا. انهن جي قومي هنگامن کي دين جي رنگ ۾ بيان ڪندا هئا. رسمي عملن کي دهرائڻ تي بشارت ڏيندا هئا تہ ان جي ذريعي انهن جا جنت ۾ محل تعمير ٿي رهيا آهن. الله جي ويجهو اُهو وڏو برو ڪم آهي تہ ماڻهن جي وچ ۾ اِهڙو دين ورهائجي جنهن ۾ حقيقي عملي زندگي کي بدلائڻ نہ هجي، پر ڪجھ نمائشي شين جو اهتمام ڪري جنت جي ضمانت ملي وڃي.

وَ قَالَتِ الْيَهُوْدُ يَدُ اللّٰهِ مَغْلُوْلَةٌ ؕ غُلَّتْ اَيْدِيْهِمْ وَ لُعِنُوْا بِمَا قَالُوْا ۘ بَلْ يَدٰهُ
مَبْسُوْطَتٰنِ ۙ يُنْفِقُ كَيْفَ يَشَآءُ ؕ وَ لَيَزِيْدَنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ مَّآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ
طُغْيَانًا وَّ كُفْرًا ؕ وَ اَلْقَيْنَا بَيْنَهُمُ الْعَدَاوَةَ وَ الْبَغْضَآءَ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ؕ كُلَّمَاۤ اَوْقَدُوْا
نَارًا لِّلْحَرْبِ اَطْفَاَهَا اللّٰهُ ۙ وَ يَسْعَوْنَ فِى الْاَرْضِ فَسَادًا ؕ وَ اللّٰهُ لَا يُحِبُّ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٦٤﴾

۽ يهودي چون ٿا تہ الله جو هٿ تنگ آهي. سندن هٿ ئي تنگ آهن ۽ لعنت هجي انهن تي اِهو چوڻ جي ڪري. بلڪ خدا جا ٻئي هٿ ڪليل آهن. هو جيئن چاهي ٿو خرچ ڪري ٿو. ۽ تو تي تنهنجي رب جي طرفان جيڪو ڪجھ نازل ٿيو آهي، اُهو انهن مان اڪثر ماڻهن جي سرڪشي ۽ انڪار کي وڌائي رهيو آهي. ۽ اسان انهن جي وچ ۾ دشمني ۽ ڪينو قيامت تائين جي لاءِ وجهي ڇڏيو آهي. جڏهن بہ هو جنگ لاءِ باهہ ڀڙڪائين ٿا تہ الله اُن کي اجهائيندو آهي ۽ اُهي زمين ۾ فساد ڦهلائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، حالانڪ الله فساد ڪندڙن کي پسند نہ ڪندو آهي. - ٦٤

---

قرآن ۾ جڏهن الله جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ تي زور ڏنو ويو ۽ چيو ويو تہ الله کي قرض حسنہ ڏيو تہ يهودين اُن کي مذاق بڻائي ورتو. اُهي چوڻ لڳا تہ الله فقير آهي ۽ اُن جا ٻانها امير آهن. الله جا هٿ اِڄڪلھ تنگ آهن. اهڙي قسم جي ڳالهين جو رخ خدا ڏانهن نہ بلڪ رسولﷺ ۽ قرآن ڏانهن هوندو هو. اُهي ڄاڻندا هئا تہ خدا اُن کان مٿانهون آهي جو اُن وٽ ڪنهن شيءِ جي ڪمي هجي. اهڙي طرح جون ڳالهيون هو دراصل اهو ظاهر ڪرڻ لاءِ چوندا تہ رسول سچو رسول نہ آهي ۽ قرآن خدا جو ڪتاب نہ آهي. جيڪڏهن قرآن خدا جي طرفان هجي ها تہ (نعوذبالله) اهڙيون ننڍيون جهڙيون ڳالهيون اُن ۾ نہ هجن ها. پر جيڪي ماڻهو اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪن تہ اُهي حقيقي ديني جذبي کان خالي آهن. اُهي ٻي حسي جي سطح تي جي رهيا آهن.

موجوده امتحاني دنيا ۾ انسان کي عمل جي آزادي آهي. هتي هڪ شخص اِهو بہ چئي سگهي ٿو تہ ”قرآن خدا جو ڪتاب آهي“ ۽ جيڪڏهن ڪو شخص هي چوڻ چاهي تہ ”قرآن هڪ هٿرادو ٺهيل ڪتاب آهي“ تہ اُن کي بہ پنهنجي ڳالھ چوڻ لاءِ لفظ ملي ويندا. اهوئي سبب آهي تہ هتي ماڻهو هڪ واقعي کان هدايت وٺي سگهي ٿو ۽ انهيءَ واقعي مان ٻيو ماڻهو سرڪشي جي غذا بہ حاصل ڪري سگهي ٿو.

يهودين جڏهن قرآن جي هدايت کي مڃڻ کان انڪار ڪيو تہ اُهو سادي معنيٰ ۾ رڳو انڪار نہ هو، بلڪ ان جي پويان انهن جو اُهو ڀرم شامل هو تہ اسان تہ نجات پاتل ماڻهو آهيون. اسان کي ڪنهن ٻي هدايت کي مڃڻ جي ڪهڙي ضرورت. جيڪي ماڻهو اِهڙي قسم جي فخر واري نفسيات ۾ مبتلا هجن. انهن جي اندر شديد قسم جي اَنا پيدا ٿيندي آهي. روزانہ جي زندگيءَ ۾ جڏهن انهن جو معاملو ٻين سان پوي ٿو تہ اُتي بہ اُهي پنهنجي ”اَنا“ کي ڇڏڻ تي راضي نہ ٿيندا آهن. نتيجو اُهو نڪرندو آهي جو سڄو معاشرو پاڻ ۾ اختلاف ۽ عداوت جو شڪار ٿي ويندو آهي.

پيغمبر جي دعوت اِها هوندي آهي تہ ماڻهو بہ اُن ئي خدا جي اطاعت واري دين کي اپنائي وٺي جنهن کي ڪائنات جي سيني شين اپنايو آهي. اِها ئي زمين جي اصلاح آهي. هاڻي جيڪي ماڻهو پيغمبر جي دعوت جي راهہ ۾ رڪاوٽ وجهن، اهي خدا جي زمين ۾ فساد پيدا ڪرڻ جو ڪم ڪري رهيا آهن. جيئن تہ انسان کي رڳو ايتري ئي آزادي حاصل آهي جو هو پنهنجي اندر جي فساد کي ٻاهر آڻي. ٻين جي قسمت جو مالڪ ٿيڻ جي آزادي ڪنهن کي بہ ناهي.

وَ لَوۡ اَنَّ اَهۡلَ الۡكِتٰبِ اٰمَنُوۡا وَ اتَّقَوۡا لَكَفَّرۡنَا عَنۡهُمۡ سَيِّاٰتِهِمۡ وَ لَاَدۡخَلۡنٰهُمۡ جَنّٰتِ النَّعِيۡمِ ﴿٦٥﴾ وَلَوۡ اَنَّهُمۡ اَقَامُوا التَّوۡرٰىةَ وَ الۡاِنۡجِيۡلَ وَ مَاۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡهِمۡ مِّنۡ رَّبِّهِمۡ لَاَكَلُوۡا

مِنْ فَوْقِهِمْ وَ مِنْ تَحْتِ اَرْجُلِهِمْ ۭ مِنْهُمْ اُمَّةٌ مُّقْتَصِدَةٌ ۭ وَ كَثِيْرٌ مِّنْهُمْ سَآءَ مَا
يَعْمَلُوْنَ ﴿٦٦﴾

۽ جيڪڏهن اهل ڪتاب ايمان آڻين ها ۽ الله کان ڊڄن ها ته اسان ضرور سندن برايين کي انهن کان پري ڪري ڇڏيون ها ۽ انهن کي نعمت وارن باغن ۾ داخل ڪريون ها ۽ جيڪڏهن هو توريت ۽ انجيل جي پابندي ڪن ها ۽ ان جو جيڪو سندن رب وٽان انهن تي نازل ٿيو آهي ته اُهي کائن ها پنهنجي مٿان کان ۽ پنهنجي پيرن جي هيٺان به. ڪجھ ماڻهو انهن ۾ سڌي راهه تي آهن، پر انهن مان اڪثر اِهڙا آهن جيڪي بڇڙا ڪم ڪندا آهن. ٦٥-٦٦

سيني گمراهين جو اصل سبب ماڻهوءَ جو سرڪش ٿيڻ آهي. جيڪڏهن ماڻهو الله کان ڊڄي ته ان کي اهو سمجهڻ ۾ دير نه ٿي لڳي ته ڪهڙي ڳالهه خدا جي طرفان آيل ڳالهه آهي. ڊپ جي نفسيات ان جي اندر مان ٻين سيني محرڪن کي مٿائي ڇڏيندي ۽ ماڻهو جلد خدا جي ڳالهه کي سڃاڻي ميڃي وٺندو. جڏهن ماڻهو ان حد تائين خود کي خدا ڏانهن متوجهه ڪري ڇڏي ته ان کان پوءِ اهو به خدا جي توجهه جو مستحق ٿي ويندو آهي. خدا ان جي بشري ڪمزورين کي ان کان پري ڪري ڇڏيندو آهي ۽ مرڻ کانپوءِ اُن کي جنت جي نعمتن سان ڀريل باغن ۾ جڳهه ڏيندو آهي. ماڻهوءَ جون برايون ٻين لفظن ۾ اهي شيون آهن جيڪي ان کي جنت جي رستي تي اڳيان وڌڻ نٿيون ڏين. خدا جي توفيق سان جيڪو شخص پنهنجن نفسياتي ڪمزورين تي قابو پائي وٺي ٿو اهوئي جنت جي منزل تائين پهچندو آهي.

جڏهن به حق جي دعوت اٿندي آهي ته اُهي ماڻهو ان کان ڊڄي ويندا آهن جيڪي پراڻي نظام جي تحت سرداري جو مقام حاصل ڪيل هوندا آهن. انهن کي انديشو هوندو آهي ته ان کي قبول ڪندي ئي انهن جا معاشي مفاد ۽ اڳواڻي ڪرڻ واري حيثيت ختم ٿي ويندي. پر اِها رڳو تنگ نظري آهي. اِهڙا ماڻهو وساري ٿا ڇڏين ته جنهن شيءِ کي اُهي وحشت واري نظر سان ڏسي رهيا آهن، اُها رڳو انهن جي اهليت کي جانچڻ جي لاءِ ظاهر ٿي آهي. آئينده اُهي خدا جي انعامن جا مستحق ٿيندا يا نه. ان جو فيصلو انهن جي پنهنجن تحفظ وارين تدبيرن تي نه ٿيندو، بلڪ اُن ڳالهه تي ٿيندو ته حق جي دعوت سان انهن ڪهڙو رويو اختيار ڪيو هو. جنهن حق جي دعوت جو انڪار ڪري پنهنجي جنهن وڏائي کي بچائڻ چاهين ٿا، اهوئي انڪار اُها شيءِ آهي جيڪا خدا وٽ سندن حيثيت کي ختم ڪري رهي آهي.

آسماني ڪتاب وارين قومن ۾ هميشه ائين ٿيندو آهي جو اهي خدا جي اصل تعليم کي گهٽائي يا وڌائي هڪ هٿ ٺوڪيل دين بڻائي وٺنديون آهن ۽ گهڻو وقت گذرڻ کان پوءِ انهن جا ماڻهو ان کان ايتري قدر مانوس ٿي ويندا آهن جو ان کي ئي خدا جو اصل مذهب سمجهڻ لڳندا آهن. اهڙي حالت ۾ جڏهن خدا جو سڌو ۽ سچو دين انهن جي سامهون ايندو آهي ته اُهي ان کي غير مانوس سمجهي ان کان پري ٿيندا آهن. يهودين ۽ نصارن جو اهوئي حال هو، تنهن ڪري انهن جي وڏي اڪثريت اسلام جي صداقت کي پائڻ کان محروم رهي. رڳو چند ماڻهو (مثلاً نجاشي شاهه حبش، عبدالله بن سلام وغيره) جيڪي اعتدال واري راهه تي هئا. انهن کي اسلام جي صداقت کي سمجهڻ ۾ دير نه لڳي. انهن اڳيان وڏي اسلام کي ائين اپنائي ورتو ڄڻ اُهي پهرين کان ئي اُن رستي تي هلي رهيا هئا ۽ پنهنجي سفر جو سلسلو جاري رکڻ جي لاءِ مسلمانن جي جماعت ۾ شامل ٿي ويا هجن.

يٰۤاَيُّهَا الرَّسُوۡلُ بَلِّغۡ مَاۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ مِنۡ رَّبِّكَ ؕ وَ اِنۡ لَّمۡ تَفۡعَلۡ فَمَا بَلَّغۡتَ رِسَالَتَهٗ ؕ وَ اللّٰهُ يَعۡصِمُكَ مِنَ النَّاسِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهۡدِى الۡقَوۡمَ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿٦٧﴾

اي رسول! جيڪو ڪجھ تو تي تنهنجي رب جي طرفان نازل ٿيو آهي اُن کي پهچاءِ ڇڏ ۽ جيڪڏهن تو ائين نہ ڪيو تہ تو الله جي پيغام کي نہ پهچايو ۽ الله توکي ماڻهن کان بچائيندو. بيشڪ الله منڪر ماڻهن کي راهہ نہ ٿو ڏيکاري. ٦٧

---

پيغمبر اسلام ﷺ جڏهن عربستان ۾ آيا تہ ائين نہ هو جو اُتي دين جو نالو وٺڻ وارو ڪو بہ نہ هو، بلڪ انهن جو سڄو معاشرو دين جي نالي تي ئي قائم هو. دين جي نالي تي گهڻا ئي ماڻهو پيشوائي ۽ اڳواڻي جو مقام حاصل ڪيل هئا. دين جي نالي تي ماڻهن کي وڏيون وڏيون رقمون ملنديون هيون. ديني منصب وارو هجڻ سماج ۾ عزت ۽ فخر جي علامت بڻيل هو. ان جي باوجود پاڻ ﷺ کي عربستان جي ماڻهن جي طرفان سخت مخالفت کي منهن ڏيڻو پيو. ان جو سبب اِهو هو تہ خدا جي دين جي نالي تي انهن وٽ هڪ هٿ ٺوڪيل دين رائج ٿي ويو هو. صدين جي روايتن جي نتيجي ۾ ان دين جي نالي تي گاديون ٺهي ويون هيون ۽ مفادن جون گهڻيون ئي شڪليون قائم ٿي ويون هيون. اِهڙي ماحول ۾ جڏهن پيغمبر ﷺ خالص دين جي دعوت کي پيش ڪيو تہ ماڻهن کي نظر آيو تہ اِها انهن جي ديني حيثيت کي بي اعتبار ثابت ڪري رهي آهي. انهن کي ڊپ ٿيو تہ جيڪڏهن اِهو دين ڦهلجي ويو تہ انهن جو اهو مذهبي ڍانچو ڊهي پوندو جن ۾ انهن کي وڏائيءَ جو مقام حاصل آهي.

اِها صورتحال داعي جي لاءِ تمام سخت هوندي آهي. پنهنجي دعوتي ڪم کي سرعام انجام ڏيڻ ان وقت جي مذهبي طاقتن سان وڙهڻ جي هم معنيٰ بڻجي ويندو آهي. ان کي ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ جيڪڏهن آءٌ ڪنهن مصلحت جي بغير سچي دين جي تبليغ ڪندس تہ مون کي سخت رد عمل کي منهن ڏيڻو پوندو. منهنجو مذاق بڻايو ويندو، مون کي بي عزت ڪيو ويندو، منهنجي گذر سفر کي تباهہ ڪيو ويندو. منهنجي خلاف جارحاڻيون ڪارروائيون ڪيون وينديون. آئون حامي ۽ مددگارن کان محروم ٿي ويندس.

هاڻي هن جي سامهون بہ رستا هوندا آهن. دعوت وارين ذميدارين کي ادا ڪرڻ ۾ دنياوي مصلحتن کي ڇڏڻو پوي ٿو ۽ جيڪڏهن دنياوي مصلحتن جو لحاظ ڪيو وڃي تہ دعوت جي عمل کي پوري طرح انجام ڏيڻ نا ممڪن نظر اچي ٿو. هتي خدا جو وعدو داعي کي هڪ طرفو ڪندو آهي. خدا جو واعدو آهي تہ داعي جيڪڏهن خدا جي پيغام کي پهچائڻ ۾ لڳي وڃي تہ ماڻهن جي طرفان اچڻ وارين مشڪلاتن ۾ خدا اُن جي لاءِ ڪافي ٿي ويندو. داعيءَ کي کپي تہ اُهو رڳو دعوت جي تقاضن کي پورو ڪرڻ ۾ لڳي وڃي ۽ مخاطب قوم طرفان اچڻ وارين تڪليفن تي هو خدا تي ڀروسو ڪري.

مخاطبن جو رد عمل هڪ فطري شيءِ آهي ۽ داعي کي هر حال ۾ اُن سان واسطو پوندو. پر اُن جو اثر اُن ئي دائري تائين محدود رهي ٿو جيترو خدا جي آزمائش واري قانون جو تقاضو آهي. ائين ڪڏهن بہ نہ ٿو ٿي سگهي جو مخالف ايتري حد تائين قابو پائي وٺن جو هو دعوت جي ڪم کي روڪي ڇڏين يا ان کي تڪميل تائين پهچڻ نہ ڏين. هڪ سچي دعوت جو پنهنجي دعوتي نشاني تائين پهچڻ هڪ خدائي

منصوبو هوندو آهي. ان ڪري اُهو لازمي پورو ٿي رهندو آهي. ان ڪانپوءِ دعوت ٻڌڻ واري گروهه جو دعوت ڪي مڃڻ يا نه مڃڻ انهن جي پنهنجي ذميداري آهي ۽ اُن مان فائدو به اوترو ئي ٿيندو جيترو دعوت ٻڌڻ وارا پاڻ چاهيندا.

قُلْ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ لَسْتُمْ عَلٰى شَيْءٍ حَتّٰى تُقِيْمُوا التَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ
مِّنْ رَّبِّكُمْ ۭ وَلَيَزِيْدَنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ مَّآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ طُغْيَانًا وَّكُفْرًا ۚ فَلَا
تَاْسَ عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٦٨﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَالَّذِيْنَ هَادُوْا وَالصّٰبِـُٔوْنَ وَالنَّصٰرٰى
مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٦٩﴾

چئو اي اهل ڪتاب! اوهان ڪنهن شيءِ تي نه آهيو جيستائين اوهين قائم نه ڪيو توريت ۽ انجيل ڪي ۽ اُن ڪي جيڪو توهان ڏانهن توهان جي رب طرفان نازل ٿيو آهي ۽ جيڪو ڪجهه توهان ڏانهن توهان جي رب جي طرفان نازل ڪيو ويو آهي اُهو يقينًا انهن مان گهڻن جي سرڪشي ۽ انڪار ڪي وڌائيندو. تنهن ڪري تون انڪار ڪرڻ وارن تي افسوس نه ڪر. بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ جيڪي ماڻهو يهودي ٿيا ۽ صابي ۽ نصراني، جنهن شخص به ايمان آندو الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ۽ نيڪ عمل ڪندو ته انهن لاءِ نه ڪنهن قسم جو خوف آهي ۽ نه اُهي غمگين ٿيندا. ٦٨-٦٩

---

يهودين جو حال اِهو هو ته انهن جا ماڻهو عملي طور خدا جي دين تي قائم نه هئا. انهن پنهنجي نفس ڪي ۽ پنهنجي زندگي جي معاملن ڪي خدا جي تابع نه ڪيو هو. البت خوش گمانين جي سبب انهن اِهو عقيدو ٺاهي ورتو هو ته خدا وٽ انهن جي نجات يقيني آهي. اُهي پنهنجي قومي فضيلت جي افسانن ۽ پنهنجن بزرگن جي تقدس جي داستانن ۾ جي رهيا هئا. پر الله وٽ ان قسم جي خوش خيالين جي ڪا به قيمت نه آهي. الله وٽ جيڪا قيمت آهي اُها رڳو ان ڳالهه جي آهي ته ماڻهو الله جي حڪمن جو پابند ٿئي ۽ پنهنجي حقيقي زندگي ڪي خدا جي دين تي قائم ڪري.

جيڪي ماڻهو ڪوڙين آرزوئن ۾ جي رهيا هجن، انهن جي سامهون جڏهن به اِها دعوت ايندي آهي ته الله وٽ عمل جي قيمت آهي، نه وري آرزوئن ۽ تمنائن جي، ته اهڙي دعوت جي خلاف اُهي شديد ردعمل جو اظهار ڪندا آهن. اهڙي دعوت ۾ انهن ڪي پنهنجن خوش خيالين جو محل ڪرندي نظر ايندو آهي. اِها صورتحال انهن جي لاءِ آزمائش بڻجي ويندي آهي. اُهي اِهڙي دعوت جا سخت مخالفت ٿي ويندا آهن. نمائشي خدا پرستي جي اندر لڪيل انهن جي خود پرستي بي پرده ٿي سامهون اچي ويندي آهي. جنهن دعوت مان انهن ڪي رباني غذا وٺڻ کپي ها. ان مان اُهي رڳو انڪار ۽ سرڪشي جي غذا وٺڻ لڳندا آهن.

قديم زماني ۾ جيڪي پيغمبر آيا انهن ڪي مڃڻ وارن جا نسل آهستي آهستي مستقل قوم جي صورت اختيار ڪري وٺندا آهن. هاڻي پيغمبر جي نموني تي عمل ته باقي نه ٿو رهي ۽ البت پنهنجي عظمت ۽ فضيلت جا قصيدا ڪهاڻين جي صورت ۾ خوب ڦهلجي ويندا آهن. هر گروهه سمجهڻ لڳندو آهي ته اسان سڀني ڪان افضل آهيون. اسان جي نجات يقيني آهي. الله وٽ اسان جو درجو سڀني ڪان

وڏيڪ آهي، پر اهڙي قسم جي گروهي مذهبن جي خدا وٽ ڪا بہ قيمت نہ آهي. الله وٽ هر ماڻهوءَ جو ڪيس انفرادي حيثيت ۾ پيش ٿيندو ۽ ان جي مستقبل جي بابت جيڪو ڪجهہ فيصلو ٿيندو، اُهو سڄي جو سڄو ان جي پنهنجي عمل جي بنياد تي ٿيندو نہ وري ڪنهن ٻئي بنياد تي.

خدا جي ڪتاب کي قائم ڪرڻ نالو آهي الله تي يقين ڪرڻ جو، آخرت جي پڪڙ جو خوف پنهنجي مٿان طاري ڪرڻ جو ۽ انسانن جي وچ ۾ صالح ڪردار سان زندگي گذارڻ جو. اهوئي اصل دين آهي ۽ هر فرد کي اهوئي پنهنجي زندگي ۾ اختيار ڪرڻو آهي. آسماني ڪتاب واري قوم جي قيمت دنيا ۾ ان وقت آهي جڏهن ان جا ماڻهو خدا جي هِن دين تي قائم هجن. ان کان هٽي وڃڻ کانپوءِ اُهي خدا جي نظر ۾ بلڪل بي قيمت ٿي ويندا آهن، ايستائين جو پڏرن ڪافرن ۽ مشرڪن کان بہ وڌيڪ بي قيمت.

لَقَدْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ وَ اَرْسَلْنَآ اِلَيْهِمْ رُسُلًا ؕ كُلَّمَا جَآءَهُمْ رَسُوْلٌۢ بِمَا لَا تَهْوٰٓى اَنْفُسُهُمْ ۙ فَرِيْقًا كَذَّبُوْا وَ فَرِيْقًا يَّقْتُلُوْنَ ﴿٧٠﴾ وَ حَسِبُوْٓا اَلَّا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ فَعَمُوْا وَ صَمُّوْا ثُمَّ تَابَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ ثُمَّ عَمُوْا وَ صَمُّوْا كَثِيْرٌ مِّنْهُمْ ؕ وَ اللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِمَا يَعْمَلُوْنَ ﴿٧١﴾

اسان بني اسرائيل کان عهد ورتو ۽ انهن ڏانهن گهڻا رسول موڪليا. جڏهن بہ وٽن ڪو رسول انهن وٽ اِهڙي ڳالهہ کڻي آيو جنهن کي سندن دلين نٿي چاهيو تہ هنن ڪن کي ڪوڙو ڄاتو ۽ ڪن کي قتل ڪيو. ۽ گمان ڪيو تہ ڪجهہ بہ خرابي نہ ٿيندي. ان ڪري اُهي انڌا ۽ ٻوڙا بڻجي ويا. وري الله انهن تي توجهہ ڪئي. پوءِ بہ انهن مان گهڻا انڌا ۽ ٻوڙا بڻجي ويا. ۽ الله ڏسي رهيو آهي جيڪو ڪجهہ اُهي ڪري رهيا آهن. ٧٠-٧١

---

يهودين کان الله حضرت موسيٰ عليه السلام جي ذريعي ايمان ۽ اطاعت جو عهد ورتو هو. اُهي ڪجهہ ڏينهن اُن تي قائم رهيا. اُن کان پوءِ انهن ۾ بگاڙ شروع ٿي ويو. هاڻي الله انهن جي وچ ۾ پنهنجا اصلاح ڪندڙ موڪليا جيڪي انهن کي پنهنجو عهد ياد ڏيارين، پر يهودين جي گمراهي ۽ سرڪشي وڌندي وئي. انهن نصيحت ڪرڻ وارن جي زبان بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ايستائين جو ڪيترن ئي ماڻهن کي قتل ڪري ڇڏيو. جڏهن انهن جي سرڪشي حد کي پهچي وئي تہ الله بابل ۽ نينويٰ (عراق) جي بادشاهہ بنوخذ نصر کي انهن تي مسلط ڪري ڇڏيو، جنهن ٥٨٦ق.م ۾ يروشلم تي حملو ڪري يهودين جي مقدس شهر کي ڊاهي ڇڏيو ۽ يهودين کي گرفتار ڪري پنهنجي ملڪ کڻي ويو، تہ جيئن انهن کان زبردستي ونگار وٺي. اُن واقعي کان پوءِ يهودين جون دليون نرم ٿي ويون. انهن الله کان معافي گهري. هاڻي الله سائرس (شاهہ ايران) جي ذريعي انهن جي مدد ڪئي. سائرس ٥٣٩ ق.م ۾ ڪلدانين تي حملو ڪيو ۽ انهن کي شڪست ڏئي انهن جي ملڪ تي قبضو ڪري ورتو. ان کان پوءِ اُن يهودين کي جلاوطني کان نجات ڏياري ۽ انهن کي پنهنجي وطن موٽڻ جي اجازت ڏني.

هاڻي يهودين کي نئين زندگي ملي ۽ ترقي ۽ خوشحالي حاصل ٿي. پر ڪجهہ عرصي کان پوءِ اُهي ٻيهر غفلت ۽ سرڪشيءَ ۾ مبتلا ٿي ويا. هاڻي وري نبين ۽ اصلاح ڪندڙن جي ذريعي الله انهن کي خبردار ڪيو. پر اُهي هوش ۾ نہ آيا، ايستائين جو انهن حضرت يحييٰ عليه السلام کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ (پنهنجي خيال ۾) حضرت مسيح کي بہ. پوءِ الله انهن تي غضبناڪ ٿيو ۽ سن ٧٠ع ۾ رومي شهنشاهہ

ٽائيٽس کي انهن تي مسلط ڪري ڇڏيو، جنهن انهن جي ملڪ تي حملو ڪري اُن کي ويران ڪري ڇڏيو. اُن کان پوءِ يهودي ڪڏهن بہ پنهنجي ذاتي بنياد تي اُٿي نہ سگهيا.

آسماني ڪتاب وارين قومن جي نفسيات ڪجھ زمانو گذرڻ کان پوءِ اها بڻجي ويندي آهي تہ اُهي خدا جا خاص ماڻهو آهن. اُهي جيڪو ڪجھ بہ ڪن اُن تي انهن جي پڪڙ نہ ٿيندي. خدا جي تعليم ۾ اُن عقيدي خلاف پڌرا بيان هوندا آهن. پر اُهي انهن جي باري ۾ انڌا ۽ ٻوڙا بڻجي ويندا آهن. اُهي پنهنجي چؤگرد هٺ ٺوڪيل عقيدن ۽ فرضي قصن ۽ آکاڻين جو اهڙو ڄار ٺاهي وٺندا آهن جو خدا جي تنبيهہ ۽ تاڪيد انهن کي نہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي نہ ٻڌڻ ۾. يهودين جي اها تاريخ ٻڌائي ٿي تہ جڏهن بہ هڪ آسماني ڪتاب واري قوم کي (ان جي دشمن جي قبضي ۾) ڏنو ويندو آهي تہ اِهو ان جي لاءِ خدا جي طرفان آزمائش جو وقت هوندو آهي. ان جو مطلب اِهو هوندو آهي تہ هلڪي سزا ڏئي قوم کي جاڳايو وڃي. جيڪڏهن ان جي نتيجي ۾ قوم جي ماڻهن ۾ خدا پرستي جا جذبا جاڳي پون تہ انهن جي مٿان سزا هٽائي ويندي آهي ۽ جيڪڏهن ايئن نہ ٿئي تہ خدا ان کي رد ڪري ڦِٽي ڪري ڇڏيندو آهي ۽ پوءِ ڪڏهن بہ ان ڏانهن توجهہ نہ ٿو ڪري.

لَقَدۡ كَفَرَ الَّذِيۡنَ قَالُوۡۤا اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الۡمَسِيۡحُ ابۡنُ مَرۡيَمَ ؕ وَ قَالَ الۡمَسِيۡحُ يٰبَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ اعۡبُدُوا اللّٰهَ رَبِّىۡ وَ رَبَّكُمۡ ؕ اِنَّهٗ مَنۡ يُّشۡرِكۡ بِاللّٰهِ فَقَدۡ حَرَّمَ اللّٰهُ عَلَيۡهِ الۡجَـنَّةَ وَ مَاۡوٰهُ النَّارُ ؕ وَ مَا لِلظّٰلِمِيۡنَ مِنۡ اَنۡصَارٍ ﴿۷۲﴾ لَقَدۡ كَفَرَ الَّذِيۡنَ قَالُوۡۤا اِنَّ اللّٰهَ ثَالِثُ ثَلٰثَةٍ ۘ وَ مَا مِنۡ اِلٰهٍ اِلَّاۤ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ؕ وَاِنۡ لَّمۡ يَنۡتَهُوۡا عَمَّا يَقُوۡلُوۡنَ لَيَمَسَّنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا مِنۡهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿۷۳﴾ اَفَلَا يَتُوۡبُوۡنَ اِلَى اللّٰهِ وَ يَسۡتَغۡفِرُوۡنَهٗ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۷۴﴾ مَا الۡمَسِيۡحُ ابۡنُ مَرۡيَمَ اِلَّا رَسُوۡلٌ ۚ قَدۡ خَلَتۡ مِنۡ قَبۡلِهِ الرُّسُلُ ؕ وَ اُمُّهٗ صِدِّيۡقَةٌ ؕ كَانَا يَاۡكُلٰنِ الطَّعَامَ ؕ اُنۡظُرۡ كَيۡفَ نُبَيِّنُ لَهُمُ الۡاٰيٰتِ ثُمَّ انۡظُرۡ اَنّٰى يُؤۡفَكُوۡنَ ﴿۷۵﴾ قُلۡ اَتَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مَا لَا يَمۡلِكُ لَـكُمۡ ضَرًّا وَّ لَا نَفۡعًا ؕ وَ اللّٰهُ هُوَ السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ ﴿۷۶﴾

ربع

يقينًا انهن ماڻهن ڪفر ڪيو، جن چيو اللہ پاڻ مسيح پٽ مريم ئي تہ آهي. حالانڪ مسيح چيو هو تہ اي بني اسرائيل! اللہ جي عبادت ڪريو جيڪو منهنجو رب آهي ۽ اوهان جو بہ رب آهي. جيڪو ماڻهو اللہ سان ڪنهن کي شريڪ ڪندو تہ ان تي اللہ جنت حرام ڪري ڇڏي آهي ۽ ان جو ٺڪاڻو باهہ آهي ۽ ظالمن جو ڪو مددگار نہ آهي. يقينًا انهن ماڻهن ڪفر ڪيو، جن چيو اللہ ٽن مان ٽيون آهي. حالانڪ ڪو معبود نہ آهي سواءِ هڪ معبود جي ۽ جيڪڏهن اُهي باز نہ آيا ان کان جيڪو هو چوندا آهن تہ انهن منجهان ڪفر تي قائم رهڻ وارن کي هڪ دردناڪ عذاب پهچندو. اُهي ماڻهو اللہ جي اڳيان توبهہ چو نہ ٿا ڪن ۽ ڪائنس معافي چو نہ ٿا گهرن. ۽ اللہ بخشڻ وارو مهربان آهي. مسيح پٽ مريم رڳو هڪ رسول آهي. ان کان اڳ بہ گهڻائي رسول گذري چڪا آهن ۽ سندس والده هڪ سچي ٻانهي هئي. اُهي ٻئي کاڌو کائيندا هئا. ڏس تہ اسان ڪهڙي طرح انهن لاءِ دليل بيان

ڪري رهيا آهيون. پوءِ ڏس تہ اهي ڪيڏانهن ابتا ڦيرايا پيا وڃن. چئو ڇا توهان الله کي ڇڏي اهڙي شيءِ جي عبادت ڪريو ٿا جيڪي نہ اوهان جي نقصان جو اختيار رکي ٿي ۽ نہ وري نفعي جو ۽ الله ئي ٻڌڻ وارو ۽ ڄاڻڻ وارو آهي. ٧٢-٧٦

---

حضرت مسيح عليہ السلام کي الله تعاليٰ غير معمولي معجزا ڏنا. اُهي معجزا ان لاءِ هئا تہ ماڻهو سندس پيغمبر واري حيثيت کي سڃاڻين ۽ هُن تي ايمان آڻين. پر معاملو ابتڙ ٿيو. عيسائين سندن معجزن کي ڏسي اُهو عقيدو قائم ڪري ورتو تہ پاڻ عليہ السلام خود خدا آهن. پاڻ عليہ السلام ۾ خدا تحليل ٿي ويو آهي. يهودين اِهو چئي پاڻ عليہ السلام کي نظر انداز ڪري ڇڏيو تہ اهو هڪ ڪرتب ڏيکاريندڙ جادوگر آهي. حضرت مسيح عليہ السلام الله جي طرفان ماڻهن جي هدايت لاءِ آيا هئا، پر هڪ گروهہ پاڻ عليہ السلام مان شرڪ جي غذا ورتي ۽ ٻئي گروهہ انڪار جي.

معبود اُهوئي ٿي سگهي ٿو جيڪو پاڻ محتاج نہ هجي ۽ ٻين کي نفعو ۽ نقصان پهچائڻ جي قدرت رکندو هجي. کاڌو ماڻهو جي محتاج هئڻ جي آخري علامت آهي. جيڪو کاڌي جو محتاج آهي، اهو هر شيءِ جو محتاج آهي. جيڪو ماڻهو کاڌو کائيندو هجي، اُهو مڪمل طور تي هڪ محتاج هستي آهي. اِهڙي هستي خدا ڪيئن ٿي سگهي ٿي. اهوئي معاملو نفعي ۽ نقصان جو آهي. ڪنهن کي نفعو ملڻ يا ڪنهن کي نقصان پهچڻ اهڙا واقعا آهن جن جي ظهور ۾ اچڻ جي لاءِ پوري ڪائنات جي مدد گهربل آهي. ڪو بہ شخص اهڙي قسم جا ڪائناتي اسباب گڏ ڪرڻ تي قادر نہ آهي. تنهن ڪري انسانن مان ڪنهن انسان جو بہ اُهو درجو نہ ٿو ٿي سگهي جو ان کي معبود فرض ڪري ونجي.

جڏهن بہ ماڻهو خدا کانسواءِ ڪنهن ٻئي کي پنهنجي عقيدت ۽ محبت جو مرڪز بڻائي ٿو تہ ان جي پٺيان اِهو لڪيل جذبو هوندو آهي تہ ان کي خدا جي دنيا ۾ ڪو وڏو درجو حاصل آهي. اُهو خدا وٽ ان جو مددگار بڻجي سگهي ٿو. پر اهڙي قسم جون سڀ اميدون رڳو ڪوڙيون اميدون آهن. هن موجوده امتحان جي دنيا ۾ خدا کانسواءِ ٻين شين جو بي وس هجڻ پڌرو نہ آهي. ان ڪري ماڻهو غلط فهمي ۾ پئجي ويو آهي. پر آخرت ۾ جڏهن سڀ حقيقتون پڌريون ڪيون وينديون تہ ماڻهو ڏسندو تہ خدا کانسواءِ جن سهارن تي هو ڀروسو ڪري ويٺو هو، اُهي ڪيتري قدر بي قيمت هئا.

قُلْ يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ لَا تَغْلُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ غَيْرَ الْحَقِّ وَ لَا تَتَّبِعُوْۤا اَهْوَآءَ قَوْمٍ قَدْ ضَلُّوْا مِنْ
ع ١٤ قَبْلُ وَ اَضَلُّوْا كَثِيْرًا وَّ ضَلُّوْا عَنْ سَوَآءِ السَّبِيْلِ۠ ﴿٧٧﴾

چئو اي اهل ڪتاب! پنهنجي دين ۾ غُلو (ناحق وڌاءُ) نہ ڪريو ۽ انهن ماڻهن جي خيالن جي پيروي نہ ڪريو جيڪي اڳ ۾ ئي گمراهہ ٿي ويا ۽ انهن گهڻن ماڻهن کي گمراهہ ڪيو، ۽ اُهي سڌي راهہ (سواءِ السبيل) کان ڀٽڪي ويا. - ٧٧

---

حضرت مسيح عليہ السلام جي ابتدائي شاگردن جي ويجهو مسيح عليہ السلام ”هڪ انسان هو، جيڪو خدا جي طرفان هو“. اُهي پاڻ عليہ السلام کي انسان ۽ الله جو رسول سمجهندا هئا. پر پاڻ عليہ السلام جو دين جڏهن شام جي علائقي کان ٻاهر نڪتو تہ ان کي مصر ۽ يونان جي فلسفي سان واسطو پيو. عيسائيت قبول ڪري اهڙا

ماڻهو عيسائيت ۾ داخل ٿيا جيڪي وقت جي فلسفياڻي فڪر کان متاثر هئا. اهڙي طرح اندروني اسباب ۽ ٻاهر جي محرڪن جي تحت عيسائيت ۾ هڪ نئون دور شروع ٿيو. جڏهن عيسائيت کي وقت جي غالب فلسفي جي طريقي ۽ ڍنگ ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش شروع ٿي.

اُن زماني جي مهذب دنيا ۾ مصر ۽ يونان جي فلسفين جو زور هو. وقت جا ذهين ماڻهو عام طور تي انهن جي فڪر جي روشنيءَ ۾ سوچيندا هئا. يوناني فلسفين پنهنجي قياس موجب ڪائنات جي هڪ خيالي تصوير ٺاهي هئي. اُهي حقيقت جي تعبير ٽن جزن (Hypostases) جي صورت ۾ ڪندا هئا. (١) وجود (٢) حيات ۽ (٣) علم. مسيحي عالم جيڪي خود به ان فڪر کان متاثر هئا، تنهن ڪري وقت جي ذهين طبقي کي مسيحت ڏانهن متوجهه ۽ راغب ڪرڻ چاهيندا هئا ۽ انهن پنهنجي مذهب کي وقت جي غالب فڪر جي مطابق بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي. انهن عيسائيت جي اِهڙي تعبير ڪئي جنهن ۾ خدا جو دين به اهڙن ”ٽن“ جي صورت ۾ بدلجي ويجي ۽ ماڻهو ان کي پنهنجي ذهن جي مطابق ڏسندي قبول ڪري وٺن. انهن چيو ته مذهبي حقيقت به هڪ تثليث ”يعني ٽن حصن ۾ هڪ صورت آهي: اقنوم يعني (١) وجود، پيءُ آهي. (٢) حيات، پٽ آهي ۽ (٣) علم، روح القدس آهي. هن ڪلامي يا ملفوظات واري مذهب کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ٻيا گهڙيل خيالَ اُن ۾ داخل ڪيا ويا. مثلاً اِهو ته حضرت مسيح ”ڪلام“ جو جَسدي يا جسماني ظهور آهن. آدم عليه السلام جي هيٺ اچڻ کان پوءِ هر انسان گناهگار ٿي چڪو آهي ۽ انسان جي نجات جي لاءِ خدا جي پٽ کي ڦاهي چڙهي ڪفارو ڏيڻو پيو وغيره. اهڙي طرح چوٿين صدي هجري ۾ مصري، يوناني ۽ رومي تصورن جي سانچي مان گذري اُها شيءِ تيار ٿي جنهن کي موجوده مسيحت چيو ويندو آهي.

خدا جي سڌي راهه (سواءِ السبيل) کان ڀٽڪڻ جو سبب اڪثر اِهو هوندو آهي ته ماڻهو گمراهه قومن جي خيالن کان متاثر ٿي دين کي انهن جي خيالن جي مطابق ڍالڻ ۾ لڳي ويندا آهن. خدا جي دين کي مڃيندي اُن جي تعبير اهڙي ڍنگ سان ڪندا آهن جو اُهو وقت جي غالب فڪر ۽ خيالن مطابق نظر اچڻ لڳي. اُهي خدا جي دين جي نالي تي غير خدا جي دين کي اپنائي وٺندا آهن. نصارن پنهنجي دين کي پنهنجي زماني جي مشرڪ قومن جي فڪر ۽ خيالن مطابق بدلائي ورتو ۽ اُن ئي کي خدا جو مقبول دين چوڻ لڳا. اِها ئي شيءِ ڪڏهن اهڙي طرح پيش ايندي آهي جو دين کي خود پنهنجي قومي مفادن واري رنگ ۾ رنگي ڇڏجي.

هن ٻي تحريف جو مثال يهودي آهن. انهن خدا جي دين جي اهڙي تعبير ڪئي جو اُهو انهن جي دنياوي زندگي جي تصديق ڪرڻ وارو بڻجي وڃي. مسلمانن جي لاءِ ڪتاب الٰهي جي متن ۾ اهڙي قسم جي تعبيرن کي داخل ڪرڻ جو موقعو نه آهي. پر متن کان ٻاهر انهن کي اُها سڀ ڪجهه ڪرڻ جي آزادي آهي جيڪو پوين قومن ڪيو.

لُعِنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْۢ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ عَلٰى لِسَانِ دَاوٗدَ وَ عِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ ؕ ذٰلِكَ بِمَا
عَصَوْا وَّ كَانُوْا يَعْتَدُوْنَ۝۷۸ كَانُوْا لَا يَتَنَاهَوْنَ عَنْ مُّنْكَرٍ فَعَلُوْهُ ؕ لَبِئْسَ مَا كَانُوْا
يَفْعَلُوْنَ۝۷۹ تَرٰى كَثِيْرًا مِّنْهُمْ يَتَوَلَّوْنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ لَبِئْسَ مَا قَدَّمَتْ لَهُمْ

اَنۡفُسُهُمۡ اَنۡ سَخِطَ اللّٰهُ عَلَيۡهِمۡ وَ فِي الۡعَذَابِ هُمۡ خٰلِدُوۡنَ ﴿٨٠﴾ وَ لَوۡ كَانُوۡا يُؤۡمِنُوۡنَ بِاللّٰهِ
وَ النَّبِيِّ وَ مَآ اُنۡزِلَ اِلَيۡهِ مَا اتَّخَذُوۡهُمۡ اَوۡلِيَآءَ وَ لٰكِنَّ كَثِيۡرًا مِّنۡهُمۡ فٰسِقُوۡنَ ﴿٨١﴾

بني اسرائيل مان جن ماڻهن ڪفر ڪيو انهن تي لعنت ڪئي وئي دائود ۽ عيسيٰ پٽ مريم جي زبان سان. ڇاڪاڻ ته انهن نافرماني ڪئي ۽ هو حد کان لنگھندڙ هئا. هو هڪبئي کي نه جهليندا هئا بُرائي کان جيڪي اُهي ڪندا هئا. اِهو وڏو بڇڙو ڪم هو جيڪو اُهي ڪري رهيا هئا. تون انهن مان گھڻن ماڻهن کي ڏسندين ته هو ڪفر ڪرڻ وارن سان دوستي رکن ٿا. ڪهڙي نه بڇڙي شيءِ آهي جيڪا انهن پنهنجي پاڻ لاءِ اڳتي موڪلي آهي، اُن ڪري الله جو غضب ٿيو انهن تي ۽ اُهي هميشه عذاب ۾ رهڻ وارا آهن. جيڪڏهن هو ايمان رکڻ وارا هجن ها الله تي ۽ نبيءَ تي ۽ اُن تي جيڪو اُن ڏانهن نازل ٿيو ته ڪافرن کي دوست نه بڻائين ها. پر انهن مان اڪثر نافرمان آهن. ٧٨-٨١

---

ايمان ماڻهو کي ظلم ۽ برائي جي باري ۾ حساس بڻائي ڇڏيندو آهي. هو ڪنهن کي ظلم ۽ بُرائي ڪندي ڏسندو آهي ته تڙپي پوندو آهي ۽ چاهيندو آهي ته فوراً اُن کي روڪي. برن ماڻهن سان سندس تعلق جُدا ٿيڻ جو هوندو آهي نه وري دوستي جو. پر جڏهن ايماني جذبو ڪمزور پئجي ويندو آهي ته ماڻهو صرف پنهنجي ذات جي باري ۾ حساس ٿي ويندو آهي. هاڻي اُن کي رڳو اُها برائي ئي بُرائي لڳندي آهي جنهن جو نقصان خود ان کي رسي. جنهن بُرائي جو رُخ ٻين ڏانهن هجي اُن جي باري ۾ هو غير جانبدار بڻجي ويندو آهي.

بني اسرائيل جيڪي هِن زوال جو شڪار ٿيا، اُن جو مطلب اِهو نه هو جو انهن پنهنجي زبان سان چڱي ڳالهه چوڻ ڇڏي ڏني هئي. انهن جا وڏا اجا به خوبصورت تقريرون ڪندا هئا، پر اُن معاملي ۾ ايترا سنجيده نه هئا ته جڏهن به ڪنهن کي ظلم ۽ برائي ڪندي ڏسن ته اُتي پهچي ان کي روڪڻ جي ڪوشش ڪن. حضرت دائودعليہ السلام پنهنجي زماني جي يهودين جي باري ۾ فرمائين ٿا ته انهن ۾ ڪو هڪ به نيڪوڪار نه آهي. (١٤) پر انهيءَ سان گڏ پاڻعليہ السلام جي ڪلام مان ان جي تصديق ٿيندي آهي ته يهودي پنهنجن پاليسين سان صلح جون ڳالهيون ڪندا هئا. جڏهن ته انهن جي دلين ۾ بدي هوندي هئي. (٢٨) اُهي خدا جي آيتن کي بيان ڪندا هئا ۽ خدا جي عهد کي زبان تي آڻيندا هئا. (٥٠) حضرت مسيحعليہ السلام پنهنجي زماني جي يهودين جي باري ۾ فرمائين ٿا: اي رياڪار فقيهو! توهان تي افسوس توهان بيواهن جي گھرن کي ڦٻايو وڃا آهيو ۽ ڏيکاءَ جي لاءِ نماز کي ڊگھو ڪندا آهيو. توهان ڦودني، سونف ۽ جيري تي تور پوري ڏيندا آهيو، پر توهان شريعت جي ڳرين ڳالهين يعني انصاف، رحم ۽ ايمان کي ڇڏي ڏنو آهي. اي راهه ٻڌائڻ وارا انڌؤ! مڇر کي ڇاڻيندا آهيو ۽ اُٺ کي ڳھي ويندا آهيو. اي رياڪار فقيهو! توهان ظاهر ۾ ته ماڻهن کي سچا ۽ ايماندار ڏسڻ ۾ ايندا آهيو، پر باطن ۾ رياڪاري ۽ بي ديني سان ڀريل آهيو. (مَتي: ٢٣)

يهودي خدا جو آئين بيان ڪندا هئا. اُهي ڊگھيون نمازون پڙهندا هئا ۽ فصلن مان ڏهون حصو ڪيندا هئا، پر انهن جون ڳالهيون رڳو چوڻ جي لاءِ هونديون هيون. اُهي آسان حڪمن تي نمائشي اهتمام سان عمل ڪندا هئا، پر جڏهن ڪنهن معاملي ۾ ڪنهن سان انصاف ڪرڻ جو سوال پيدا ٿيندو

هو، جڏهن هڪ ڪمزور تي رحم جي تقاضا هوندي هئي، جڏهن پنهنجي نفس ڪي دٻائي الله جي حڪم ڪي ميڄڻ جي ضرورت هوندي هئي ته اُهي نٽائي ويندا هئا. ايستائين جو جڏهن خدا جو ڪو ٻانهو انهن ڪي سندن غلطيون ٻڌائيندو هو ته اُهي ان جا دشمن ٿي ويندا هئا. اِهائي اُها شيءِ هئي جنهن انهن ڪي لعنت ۽ غضب جو مستحق بڻائي ڇڏيو.

لَتَجِدَنَّ اَشَدَّ النَّاسِ عَدَاوَةً لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا الْيَهُوْدَ وَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا ۚ وَ لَتَجِدَنَّ
اَقْرَبَهُمْ مَّوَدَّةً لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّا نَصٰرٰى ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّ مِنْهُمْ قِسِّيْسِيْنَ وَ
رُهْبَانًا وَّ اَنَّهُمْ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٨٢﴾

الجزء السابع ٧
وَ اِذَا سَمِعُوْا مَآ اُنْزِلَ اِلَى الرَّسُوْلِ تَرٰٓى اَعْيُنَهُمْ تَفِيْضُ مِنَ الدَّمْعِ مِمَّا عَرَفُوْا مِنَ
الْحَقِّ ۚ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اٰمَنَّا فَاكْتُبْنَا مَعَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٨٣﴾ وَ مَا لَنَا لَا نُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَ مَا
جَآءَنَا مِنَ الْحَقِّ ۙ وَ نَطْمَعُ اَنْ يُّدْخِلَنَا رَبُّنَا مَعَ الْقَوْمِ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٨٤﴾ فَاَثَابَهُمُ اللّٰهُ بِمَا
قَالُوْا جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ وَ ذٰلِكَ جَزَآءُ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٨٥﴾ وَ
ع الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿٨٦﴾ ع

ايمان وارن سان دشمني ۾ تون سيني ڪان زيادهہ سخت يهودين ۽ مشرڪن ڪي ڏسندين ۽ ايمان وارن سان دوستي ۾ تون سيني ڪان ويجهو انهن ماڻهن ڪي ڏسندين جيڪي پاڻ ڪي نصاريٰ چوندا آهن. اهو ان ڪري جو انهن ۾ عالم ۽ راهب آهن. ۽ اُن ڪري جو اُهي تڪبر نٿا ڪن. ۽ جڏهن اُهي اُن ڪلام ڪي ٻڌن ٿا جيڪو رسول تي نازل ڪيو ويو آهي ته تون ڏسندين ته سندن اکين مان ڳوڙها ڳڙي پون ٿا اُن سبب جي ڪري جو اُنهن حق ڪي سڃاڻي ورتو، اُهي چون ٿا ته اي اسان جا رب! اسان ايمان آندو، تنهن ڪري تون اسان ڪي شاهدي ڏيڻ وارن ۾ لکي وٺ. ۽ اسان ڇو نہ ايمان آندو الله تي ۽ اُن حق تي جيڪو اسان ڪي پهتو آهي، جڏهن ته اسان اِها اميد رکون ٿا ته اسان جو رب اسان ڪي صالح ماڻهن ۾ شامل ڪندو. پوءِ الله انهن ڪي اُن قول جي بدلي ۾ اهڙا باغ ڏيندو جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون، اُهي اُن ۾ هميشہ رهندا ۽ اهوئي بدلو آهي نيڪ عمل ڪرڻ وارن جو ۽ جن انڪار ڪيو ۽ اسان جي نشانين ڪي ڪوڙو ڄاتو ته اُهي ئي دوزخ وارا آهن. ٨٢-٨٦

---

هِن آيت ۾ جنت ڪي ”قول“ جو بدلو قرار ڏنو ويو آهي. پر اُهو قول ڇا هو جنهن اُن جي چوڻ وارن ڪي هميشہ جي جنت جو مستحق بڻائي ڇڏيو. اُهو قول انهن جي سڄي هستي جو نمائندو هو. اُهو سندن هستي جي فنا ٿيڻ جو آواز هو. انهن الله جي ڪلام ڪي اهڙي طرح ٻڌو جو اُن جي اندر جيڪو حق هو ان ڪي هو پوري طرح سمجهي ويا. اُهو انهن جي دل ۽ دماغ ۾ لهي ويو. اُنهن جي اندر اهڙو انقلاب پيدا ڪيو جو انهن جي حوصلن ۽ تمنائن جو مرڪز بدلجي ويو. تعصب ۽ مصلحت جون سڀ ديوارون ڪري پيون. انهن حق سان پنهنجي پاڻ ڪي اهڙي طرح شامل ڪيو جو اُن ڪان الڳ انهن جي هستي باقي نہ رهي. اُهي اُن جا گواهہ بڻجي ويا ۽ گواهہ بڻجڻ جڻ ته هڪ حقيقت جو انسان جي صورت ۾ مجسم ٿيڻ

آهي. قرآن هاڻي انهن جي لاءِ رڳو هڪ ڪتاب نہ رهيو، بلڪ مالڪ ڪائنات جي زندهہ نشاني بڻجي ويو. اُهو رباني تجربو جيڪو انهن تي گذريو بظاهر ان جو اظهار جيتوڻيڪ لفظن جي صورت ۾ ٿيو هو، پر انهن جا اُهي لفظ نہ هئا، بلڪ اُهو هڪ زلزلو هو جنهن انهن جي پوري وجود کي لوڏي ڇڏيو، ايستائين جو انهن جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا.

قول پنهنجي حقيقت جي اعتبار کان ڪنهن قسم جي زباني تلفظ جو نالو نہ آهي. اُهو ماڻهو جي عمل کي قول جي روپ ۾ معنيٰ ڏيڻ جي اعليٰ ترين صورت آهي، جنهن جو اختيار ڪائنات ۾ رڳو انسان کي حاصل آهي. هڪ حقيقي قول سيني کان وڌيڪ لطيف ۽ سيني کان وڌيڪ بامعنيٰ حقيقت آهي. قول ماڻهوءَ جي هستي جو سيني کان وڏو اظهار آهي. قول دراصل ڳالهائڻ جو عمل آهي. ان ڪري جڏهن ڪو شخص قول جي سطح تي پنهنجي عبديت جو ثبوت ڏئي ڇڏي تہ اُهو جنت جو يقيني استحقاق حاصل ڪري ٿو وٺي.

حق کي نہ مڃڻ جو سيني کان وڏو سبب هميشہ تڪبر هوندو آهي. جن جي دلين ۾ تڪبر لڪيل هوندو آهي، اُهي حق جي دعوت جي مقابلي ۾ سيني کان زياده سخت رد عمل جو اظهار ڪندا آهن ۽ جن ماڻهن جي اندر تڪبر نہ هجي، چاهي اُهي ٻي ڪنهن گمراهي ۾ مبتلا هجن، پر اُهي حق جي مخالفت ۾ ڪڏهن بہ ايترو اڳيان نہ ٿا وڃي سگهن جو ان جا جاني دشمن بڻجي وڃن ۽ ڪنهن حال ۾ ان کي قبول نہ ڪن.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُحَرِّمُوْا طَيِّبٰتِ مَاۤ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكُمْ وَ لَا تَعْتَدُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ
الْمُعْتَدِيْنَ ۝۸۷ وَ كُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ حَلٰلًا طَيِّبًا ۪ وَّ اتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْۤ اَنْتُمْ بِهٖ
مُؤْمِنُوْنَ ۝۸۸ لَا يُؤَاخِذُكُمُ اللّٰهُ بِاللَّغْوِ فِيْۤ اَيْمَانِكُمْ وَ لٰكِنْ يُّؤَاخِذُكُمْ بِمَا عَقَّدْتُّمُ
الْاَيْمَانَ ۚ فَكَفَّارَتُهٗۤ اِطْعَامُ عَشَرَةِ مَسٰكِيْنَ مِنْ اَوْسَطِ مَا تُطْعِمُوْنَ اَهْلِيْكُمْ اَوْ
كِسْوَتُهُمْ اَوْ تَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ ؕ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ ثَلٰثَةِ اَيَّامٍ ؕ ذٰلِكَ كَفَّارَةُ اَيْمَانِكُمْ
اِذَا حَلَفْتُمْ ؕ وَ احْفَظُوْۤا اَيْمَانَكُمْ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ۝۸۹

اي ايمان وارو! انهن پاڪ شين کي حرام نہ ڪريو جيڪي الله اوهان جي لاءِ حلال ڪيون آهن ۽ حد کان نہ لنگهو. الله حد کان لنگهندڙن کي پسند نہ ٿو ڪري ۽ الله اوهان کي جيڪي حلال شيون ڏنيون آهن، ان مان کائو ۽ الله کان ڊڄو، جنهن تي اوهان ايمان آندو آهي. الله اوهان کان اوهان جي اجاين قسمن تي پڪڙ نہ ٿو ڪري. پر جن قسمن کي اوهان پڪي ارادي سان کڻو ٿا انهن تي هو ضرور اوهان جي پڪڙ ڪندو. اهڙي قسمن جو ڪفارو آهي ڏهن مسڪينن کي وچترو کاڌو کارائڻ، جيڪو اوهين پنهنجي گهر وارن کي کارايو ٿا يا ڪپڙا پارائڻ يا هڪ غلام کي آزاد ڪرائڻ آهي. ۽ جنهن کي وسعت نہ هجي تہ هو ٽن ڏينهن جا روزا رکي. اُهو ڪفارو آهي توهان جي قسمن جو، جڏهن اوهان قسم کڻو ۽ پنهنجي قسمن جي حفاظت ڪريو. اِهڙي طرح الله اوهان جي لاءِ پنهنجا حڪم بيان ڪري ٿو تہ جيئن اوهان شڪر ادا ڪريو. ۸۷-۸۹

ٻانهي ۾ خدا جو تعلق هڪ زندھ تعلق آهي جيڪو نفسيات جي سطح تي قائم ٿيندو آهي. اِهو سچي جو سچو هڪ اندروني واقعو آهي. پر مذهب جي زوال جي زماني ۾ جڏهن اُهو اندروني تعلق ڪمزور پئجي ويندو آهي تہ ماڻهن جي ذهن ۾ اِها سوچ پيدا ٿيندي آهي تہ ان کي خارجي ذريعن سان حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. انهن مان هڪ دنيا جي لذتن کي ڇڏڻ بہ آهي، جنهن کي رهبانيت چيو ويندو آهي. اهو خيال ڪري ورتو آهي تہ مادي شين کان دوري ماڻهو کي خدا جي قريب ڪرڻ جو سبب بڻبو. صحابہ مان ڪجھ فرد ان قسم جي رهباني خيالن کان متاثر ٿيا. انهن ارادو ڪيو تہ اُهي گوشت نہ کائيندا. راتين جو نہ سمهندا. پاڻ کي خصي ڪرائي ڇڏيندا ۽ گهرن کي ڇڏي درويشيءَ واري زندگي اختيار ڪندا. ايستائين جو ڪن قَسم بہ کڻي ورتا. ان تي انهن کي منع ڪيو ويو ۽ چيو ويو تہ حلال کي حرام ڪرڻ سان ڪو شخص خدا جو قرب حاصل نہ ٿو ڪري سگهي. ماڻهو جيڪو ڪجھ حاصل ڪندو آهي، اهو فطرت جي حدن ۾ رهي حاصل ڪندو آهي نہ وري اُن کان آزاد ٿي ڪري.

اسلام جي مطابق اصل ”رهبانيت“ تقويٰ ۽ شڪر آهي. تقويٰ اها آهي تہ ماڻهو خدا جي منع ڪيل شين کان بچي. جيئن تہ اُن جي اندر اها خواهش پيدا ٿيندي آهي تہ هو هڪ حرام شيءِ کان لذت حاصل ڪري، پر اُهو خدا جي ڊپ کان رڪجي وڃي ٿو. ڪنهن جي مٿان ڪاوڙ اچي وڃي ۽ هو چاهڻ لڳي ٿو تہ اُن کي تباھ ۽ برباد ڪري ڇڏي، پر خدا جو ڊپ انهي کي پنهنجي ياءُ جي خلاف تخريبي ڪارروائي کان روڪي ٿو ڇڏي. اُن جي دل چوندي آهي تہ آزاد زندگي گذاري، پر خدا جي پڪڙ جو خوف اُن کي مجبور ڪري ٿو تہ هو پاڻ کي خدا جي مقرر ڪيل حدن جو پابند ڪري وٺي. اهوئي معاملو شڪر جو آهي. ماڻهوءَ کي ڪا دنيا جي شيءِ حاصل ٿيندي آهي. صحت، دولت، عهدو، مال ۽ ملڪيت، مقبوليت يا شهرت جو ڪو حصو اُن کي ملندو آهي، پر اُهو فخر ۽ گهمنڊ ۾ مبتلا نہ ٿو ٿئي، بلڪ هر شيءِ کي خدا جي عطا سمجهي اُن جي احسان جو اعتراف ڪري ٿو. اُهو عاجزي ۽ احسانمندي واري جذبن سان جهڪي ويندو آهي. اِهي ئي اُهي شيون آهن جيڪي ماڻهوءَ کي خدا سان جوڙين ٿيون. خدا کان ڊڄڻ ۽ اُن جو شڪر ادا ڪرڻ سان ماڻهو ان جو قرب حاصل ڪندو آهي. مادي شين کان پري رهڻ يقينًا گهربل آهي، پر اُها ذهني ۽ قلبي طور پري هجڻ آهي نہ وري جسماني لحاظ کان.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِنَّمَا الۡخَمۡرُ وَ الۡمَيۡسِرُ وَ الۡاَنۡصَابُ وَ الۡاَزۡلَامُ رِجۡسٌ مِّنۡ عَمَلِ الشَّيۡطٰنِ فَاجۡتَنِبُوۡهُ لَعَلَّكُمۡ تُفۡلِحُوۡنَ ﴿۹۰﴾ اِنَّمَا يُرِيۡدُ الشَّيۡطٰنُ اَنۡ يُّوۡقِعَ بَيۡنَكُمُ الۡعَدَاوَةَ وَ الۡبَغۡضَآءَ فِى الۡخَمۡرِ وَ الۡمَيۡسِرِ وَ يَصُدَّكُمۡ عَنۡ ذِكۡرِ اللّٰهِ وَ عَنِ الصَّلٰوةِ‌ۚ فَهَلۡ اَنۡتُمۡ مُّنۡتَهُوۡنَ ﴿۹۱﴾ وَ اَطِيۡعُوا اللّٰهَ وَ اَطِيۡعُوا الرَّسُوۡلَ وَ احۡذَرُوۡا‌ۚ فَاِنۡ تَوَلَّيۡتُمۡ فَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّمَا عَلٰى رَسُوۡلِنَا الۡبَلٰغُ الۡمُبِيۡنُ ﴿۹۲﴾ لَيۡسَ عَلَى الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جُنَاحٌ فِيۡمَا طَعِمُوۡۤا اِذَا مَا اتَّقَوْا وَّ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ثُمَّ اتَّقَوْا وَّ اٰمَنُوۡا ثُمَّ اتَّقَوْا وَّ اَحۡسَنُوۡا‌ ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۹۳﴾ ع ١٢

اي ايمان وارؤ! شراب ۽ جوا ۽ آستانا ۽ ڍارا سڀ ناپاڪ شيطاني ڪم آهن. تنهنڪري اوهان انهن کان بچو ته جيئن اوهين ڪامياب ٿيو. شيطان ته اهوئي چاهي ٿو ته شراب ۽ جُوا جي وسيلي اوهان جي وچ ۾ دشمني ۽ حسد وجهي ۽ اوهان کي الله جي ياد ۽ نماز کان روڪي ڇڏي. پوءِ ڇا توهان باز ايندؤ. ۽ اطاعت ڪريو الله جي ۽ اطاعت ڪريو رسول جي ۽ بچندا رهو. جيڪڏهن توهان منهن موڙيندو ته پوءِ ڄاڻي ڇڏيو ته اسان جي رسول تي فقط پڌرو پيغام پهچائڻ آهي. جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نيڪ ڪم ڪيا، انهن تي اُن شيءِ ۾ ڪو گناهه نه آهي جيڪي انهن اڳ کاڌو هو. جڏهن اُهي ڊنا ۽ ايمان آندائون ۽ نيڪ ڪم ڪيائون. پوءِ وري ڊنا ۽ ايمان آندائون پوءِ وڌيڪ ڊنا ۽ نيڪ ڪم ڪيا ۽ الله نيڪ ڪم ڪرڻ وارن سان محبت ڪندڙ آهي. ٩٠-٩٣

---

شراب ۽ جُوا ۽ آستانا جيڪي خدا کان سواءِ ڪنهن ٻي جي عبادت يا ڪنهن ٻي جي نالي تي نذر، نياز ۽ قرباني ڪرڻ جي لاءِ هجن ۽ مال ڪڍڻ ۽ ڪُٺا وجهڻ جا اُهي طريقا جن ۾ غير الله کان مدد جو عقيدو شامل هجي، اهي سڀ ناپاڪ شيطاني ڪم آهن. اُن جو سبب اهو آهي ته اهي شيون انسان کي ذهني ۽ عملي پستي ڏانهن وٺي ويندڙيون آهن. شراب ماڻهوءَ جي اندر لطيف انساني احساسن کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي ۽ جوا ٻي غرضي جي نفسيات لاءِ قاتل آهي. اهڙي طرح آستانا ۽ ڪُٺا وجهڻ اُهي شيون آهن جن جو بنياد يا ته سطحي جذبن تي قائم هوندو آهي يا وهم ۽ وسوسن واري خيالن تي.

اسلام اِهو چاهي ٿو ته انسان الله کي ياد ڪرڻ وارو ۽ اُن جي عبادت ڪرڻ وارو بڻجي وڃي. اُهو خدا جي ۽ اُن جي پيغمبر جي اطاعت ڪري. انهن ڪمن جي لاءِ ماڻهو جو سنجيده هجڻ ضروري آهي. پر شراب ۽ جوا وغيره اُهي شيون آهن جيڪي ماڻهوءَ جي اندران جنهن شيءِ کي سيني کان وڌيڪ ختم ڪن ٿيون، اُها سنجيدگي آهي. اسلام اُهو انسان ٺاهڻ چاهي ٿو جيڪو حقيقتن کي سمجهي. جڏهن ته شراب ماڻهو کي حقيقتن کان غافل ڪرڻ واري شيءِ آهي. اسلام جو گهربل انسان اُهو آهي جيڪو ماديت کان بلند ٿي جيئي. جڏهن ته جوا ماڻهو کي مجرماڻي حد تائين ماديت ڏانهن متوجه ۽ راغب ڪري ڇڏي ٿي. اسلام اُهو انسان ٺاهڻ ٿو چاهي جيڪو حقيقتن جي بنياد تي پاڻ کي ڪڙو ڪري، جڏهن ته آستانا ۽ فال ۽ ڪٺان انسان کي وهم ۽ وسوسن جي وادين ۾ گم ڪري ٿا ڇڏين.

شراب بي حسي پيدا ڪري ٿو ۽ جُوا خود غرضي ۽ اُهي ٻئي شيون ماڻهن ۾ باهمي فساد جي جڙ آهن. جيڪي ماڻهو بي حس ٿي وڃن، اُهي ٻئي جي عزت کي عزت نه ٿا سمجهن ۽ ٻئي جي شيءِ کي شيءِ نه ٿا سمجهن. اهڙا ماڻهو ظلم، بي انصافي ۽ ٻين کي ناحق ستائڻ ۾ آخري حد تائين بي خوف ٿي ويندا آهن. اهڙي طرح جُوَا زوري کسڻ ۽ خود غرضيءَ جي سيني کان بڇڙي صورت آهي، جنهن ۾ هڪ ماڻهو اِها ڪوشش ڪندو آهي ته ماڻهن کان ڦري لُٽي پنهنجي لاءِ هڪ وڏي ڪاميابي حاصل ڪري. شرابي ماڻهو ٻين جي ڏک، درد کي محسوس ڪرڻ کان عاجز ۽ بي پرواهه هوندو آهي ۽ جواري جي لاءِ ٻيا ماڻهو رڳو ڦرڻ ۽ لُٽڻ جي لاءِ هوندا آهن. اِهڙين خصلتن وارا ماڻهو جنهن معاشري ۾ جمع ٿي وڃن اُتي پاڻ ۾ بي اعتمادي، هڪٻئي کان شڪايت، باهمي جهيڙا ۽ دشمني کانسواءِ ٻي ڪهڙي شيءِ پيدا ٿيندي.

يٰاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَيَبۡلُوَنَّكُمُ اللّٰهُ بِشَىۡءٍ مِّنَ الصَّيۡدِ تَنَالُهٗۤ اَيۡدِيۡكُمۡ وَ رِمَاحُكُمۡ لِيَعۡلَمَ اللّٰهُ مَنۡ يَّخَافُهٗ بِالۡغَيۡبِ‌ۚ فَمَنِ اعۡتَدٰى بَعۡدَ ذٰلِكَ فَلَهٗ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿۹۴﴾ يٰۤاَيُّهَا

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقْتُلُوا الصَّيْدَ وَ اَنْتُمْ حُرُمٌ ؕ وَ مَنْ قَتَلَهٗ مِنْكُمْ مُّتَعَمِّدًا فَجَزَآءٌ
مِّثْلُ مَا قَتَلَ مِنَ النَّعَمِ يَحْكُمُ بِهٖ ذَوَا عَدْلٍ مِّنْكُمْ هَدْيًاۢ بٰلِغَ الْكَعْبَةِ اَوْ كَفَّارَةٌ
طَعَامُ مَسٰكِيْنَ اَوْ عَدْلُ ذٰلِكَ صِيَامًا لِّيَذُوْقَ وَبَالَ اَمْرِهٖ ؕ عَفَا اللّٰهُ عَمَّا سَلَفَ ؕ وَ مَنْ
عَادَ فَيَنْتَقِمُ اللّٰهُ مِنْهُ ؕ وَ اللّٰهُ عَزِيْزٌ ذُو انْتِقَامٍ ﴿٩٥﴾

اي ايمان وارؤ! الله توهان کي ان شڪار جي ذريعي آزمائش ۾ وجهندو جيڪو بلڪل توهان جي هٿن جي ويجهو ۽ توهان جي نيزن جي زد ۾ هوندو، ته جيئن الله ڄاڻي وٺي ته ڪير ماڻهو ان کان پر پٺ ڊڄي ٿو. پوءِ جنهن ان ڪانپوءِ زيادتي ڪئي ته ان جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي. اي ايمان وارؤ! شڪار کي نه ماريو جڏهن ته اوهان احرام جي حالت ۾ هجو. ۽ توهان مان جيڪو ماڻهو ان کي ڄاڻي واڻي ماريندو ته ان جو بدلو اُهڙو ئي جانور آهي جهڙو اُن ماريو آهي جنهن جو فيصلو اوهان مان ٻه عادل ماڻهو ڪندا ۽ اُهو نذرانو ڪعبي وٽ پهچايو وڃي. يا ان جي ڪفاري ۾ ڪجھ محتاج ماڻهن کي کاڌو کارائڻ آهي يا ان جي برابر روزا رکڻا آهن، ته جيئن هو پنهنجي ڪئي جي سزا چکي. الله معاف ڪري ڇڏيو جيڪو اڳ ۾ ٿي گذريو ۽ جيڪو ماڻهو منهن موڙيندو ته الله ان کان بدلو وٺندو ۽ الله زبردست آهي بدلو وٺڻ وارو آهي. ٩٤-٩٥

---

حج ۽ عمري جي لاءِ اهو قاعدو آهي ته ڪعبي پهچڻ کان پهرين مقرر مقام تي احرام ٻڌو وڃي ٿو. احرام ڪانپوءِ ڪعبي تائين سفر ۾ جانور يا پکي سامهون ايندا آهن جن کي آسانيءَ سان شڪار ڪري سگهجي ٿو. پر اهڙي شڪار کي حرام قرار ڏنو ويو. ماڻهو چاهي پاڻ شڪار ڪري يا ٻئي ڪنهن کي شڪار ڪرڻ ۾ مدد ڏي. ٻئي شيون احرام جي حالت ۾ ناجائز آهن. روايتن جي مطابق اِها آيت حديبيه جي سفر ۾ نازل ٿي جڏهن مسلمانن عمري جي ارادي سان احرام ٻڌي رکيو هو. ان وقت پکي ۽ جانور گهڻي تعداد ۾ ايترو ته قريب ڦري رهيا هئا جو آسانيءَ سان انهن کي تير يا نيزي سان ماري سگهجي پيو. مسلمان ان وقت پنهنجي عادت ۽ ضرورت جي تحت چاهيندا ٻه هئا ته انهن جو شڪار ڪن. پر حڪم نازل ٿيندي ئي هر ڪنهن پنهنجو هٿ روڪي ورتو. اُهو حڪم جيڪو احرام جي حالت ۾ جانورن جي باري ۾ ڏنو ويو، اُهوئي حڪم روزانه جي زندگي ۾ عام ماڻهن سان تعلق ۾ به گهربل آهي.

ان حڪم جو اصل مقصد اِهو آهي ته ”الله ڄاڻي وٺي ته ڪير آهي جيڪو الله کان پر پٺ ڊڄندو آهي“. دنيا ۾ انسان کي آباد ڪري خدا ان جي نظرن کان غائب ٿي ويو آهي. هاڻي هو ڏسڻ ٿو چاهي ته ماڻهن ۾ ڪير ايترو حقيقت شناس آهي جو بظاهر خدا کي نه ڏسندي به اهڙي طرح رهي ٿو جيئن ته هو اُن کي ان جي سڀني طاقتن سان گڏ ڏسي رهيو آهي ۽ ڪير ايترو غافل آهي جو خدا کي پنهنجي سامهون نه ڏسي ڪري بي خوف ٿي ويندو آهي ۽ پنهنجي مرضي جون ڪارروائيون ڪرڻ لڳي ٿو. اُن جو تجربو حج جي سفر ۾ ڪجھ ڏينهن ۽ انساني تعلقن ۾ هر روز ٿيندو آهي. هڪ ماڻهو ڪنهن جي قابو ۾ اهڙي طرح ايندو آهي ته ان جي لاءِ اِهو بلڪل ممڪن ٿي ويندو آهي ته اُهو ان جي جان تي حملو ڪري، اُهو ان کي مالي نقصان پهچائي، اُهو ان جي باري ۾ اهڙي ڳالھ چوي جنهن ۾ ان جي رسوائي هجي. هاڻي هڪ ماڻهو اُهو به آهي جيڪو اهڙي طرح قابو پائڻ جي باوجود خدا جي ڊپ کان پنهنجي زبان ۽ پنهنجي هٿ کي ان ماڻهو جي معاملي ۾ روڪي ٿو وٺي. ٻيو ماڻهو اُهو آهي جيڪو ڪنهن تي قابو پائيندي ئي ان

ڪي ذليل ڪندو آهي ۽ ان ڪي پنهنجي طاقت جو نشانو بڻائيندو آهي. انهن مان پهرئين ماڻهو اهو ثابت ڪيو تہ هو پرپٺ الله کان ڊڄڻ وارو آهي ۽ ٻئي پنهنجي باري ۾ ان کان ابتڙ حالت جو ثبوت ڏنو. پهرئين ماڻهو جي لاءِ خدا وٽ بي حساب انعام آهن ۽ ٻئي جي لاءِ دردناڪ عذاب.

اُحِلَّ لَكُمۡ صَيۡدُ الۡبَحۡرِ وَ طَعَامُهٗ مَتَاعًا لَّكُمۡ وَ لِلسَّيَّارَةِ ۚ وَ حُرِّمَ عَلَيۡكُمۡ صَيۡدُ الۡبَرِّ
مَا دُمۡتُمۡ حُرُمًا ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيۡۤ اِلَيۡهِ تُحۡشَرُوۡنَ ﴿۹۶﴾ جَعَلَ اللّٰهُ الۡكَعۡبَةَ الۡبَيۡتَ
الۡحَرَامَ قِيٰمًا لِّلنَّاسِ وَ الشَّهۡرَ الۡحَرَامَ وَ الۡهَدۡيَ وَ الۡقَلَآئِدَ ؕ ذٰلِكَ لِتَعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ
يَعۡلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الۡاَرۡضِ وَ اَنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيۡءٍ عَلِيۡمٌ ﴿۹۷﴾ اِعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ
شَدِيۡدُ الۡعِقَابِ وَ اَنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿ؕ۹۸﴾ مَا عَلَى الرَّسُوۡلِ اِلَّا الۡبَلٰغُ ؕ وَ اللّٰهُ يَعۡلَمُ مَا
تُبۡدُوۡنَ وَ مَا تَكۡتُمُوۡنَ ﴿۹۹﴾ قُلۡ لَّا يَسۡتَوِي الۡخَبِيۡثُ وَ الطَّيِّبُ وَ لَوۡ اَعۡجَبَكَ كَثۡرَةُ
ع ١٣ الۡخَبِيۡثِ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ يٰۤاُولِي الۡاَلۡبَابِ لَعَلَّكُمۡ تُفۡلِحُوۡنَ ﴿۱۰۰﴾

اوهان جي لاءِ دريا جو شڪار ۽ ان جو کائڻ جائز ڪيو ويو آهي، اوهان جي فائدي لاءِ ۽ مسافرن لاءِ. ۽ جيستائين اوهين احرام جي حالت ۾ آهيو خشڪيءَ جو شڪار اوهان تي حرام ڪيو ويو آهي ۽ الله کان ڊڄو جنهن وٽ توهان حاضر ڪيا ويندؤ. الله حرمت واري گهر ڪعبي کي ماڻهن لاءِ گڏ ٿيڻ جو سبب بڻايو آهي. ۽ حرمت وارن مهينن کي ۽ قرباني جي جانورن کي ۽ ڳچي ۾ پٽا ٻڌل جانورن کي بہ. اِهو اُن لاءِ تہ جيئن اوهان ڄاڻو تہ الله کي خبر آهي جيڪو ڪجهه آسمانن ۾ ۽ جيڪو ڪجهه زمين ۾ آهي ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻي ٿو. ڄاڻي وٺو تہ الله جو عذاب سخت آهي ۽ بيشڪ الله بخشڻ وارو مهربان آهي. رسول تي رڳو پهچائڻ جي ذميداري آهي. الله ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهه اوهان ظاهر ڪريو ٿا ۽ جيڪو ڪجهه اوهان لڪايو ٿا. چؤ تہ ناپاڪ ۽ پاڪ برابر نہ ٿا ٿي سگهن، جيتوڻيڪ ناپاڪ جي گهڻائي توکي عجب ۾ وجهي. پوءِ الله کان ڊڄو اي عقل وارؤ! تہ جيئن اوهان ڪامياب ٿيو. ٩٦-١٠٠

---

احرام جي حالت ۾ شڪار حرام آهي، پر جيڪي ماڻهو درياءَ يا سمنڊ کان بيت الله جو سفر ڪري رهيا هجن انهن جي لاءِ جائز آهي تہ اُهي پاڻي ۾ شڪار ڪن ۽ ان کي کائن. ان جو سبب اِهو آهي تہ شڪار ڪرڻ جي منع ڪنهن ذاتي حرمت جي ڪري نہ هئي، بلڪ صرف ”آزمائش“ جي لاءِ هئي. انسان کي آزمائڻ لاءِ الله ڪجهه شين کي علامت طور مقرر ڪري ڇڏيو. ان ڪري جتي شريعت بڻائڻ واري محسوس ڪيو تہ جيڪا شيءِ آزمائش جي لاءِ هُئي، اُها ٻانهن جي لاءِ غير ضروري مشقت جو سبب بڻجي ويندي اُتي اُن قانون ۾ نرمي ڪري ڇڏي. ڇاڪاڻ تہ سمنڊ جي سفر ۾ جيڪڏهن زاد راهہ نہ رهي تہ ماڻهوءَ جي لاءِ زندگي کي باقي رکڻ جي ان کانسواءِ ٻي صورت نہ ٿي رهي جو هو پاڻيءَ جي جانورن کي پنهنجي خوراڪ بڻائي.

ڪعبو اسلام ۽ ملت اسلام جو دائمي مرڪز آهي. ڪعبي ڏانهن رخ ڪري نماز پڙهڻ واري شرط کي الله دنيا جي هر هڪ مسلمان کي ڪعبي جي مرڪزيت سان جوڙي ڇڏيو آهي. پوءِ حج جي

صورت ۾ ان کي اسلام جو بين الاقوامي اجتماع گاھ بڻائي ڇڏيو. ڪعبي جي زيارت دوران جيڪي شعائر مقرر ڪيا ويا آهن، انهن جي احترام جو سبب انهن جو ذاتي تقدس نہ آهي ۽ انهن جو سبب اِهو آهي تہ اُهي ماڻهوءَ جي امتحان جي علامت آهن. ڀانهو جڏهن انهن شعائر جي باري ۾ الله جو حڪم پورو ڪندو آهي تہ اُهو پنهنجي ذهن ۾ ان حقيقت کي تازو ڪندو آهي تہ الله جيڪڏهن بظاهر ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي، پر اُهو زنده موجود آهي. اُهو حڪم ڏي ٿو ۽ هو ٻانهن جي نگراني ڪندو آهي. هو اسان جي سيني حرڪتن کان باخبر آهي. اهو احساس ماڻهو جي اندر الله جو ڊپ پيدا ڪندو آهي ۽ ان کي ان قابل بڻائيندو آهي جو هو زندگي جي مختلف موقعن تي الله جو سچو ٻانهو بڻجي رهي سگهي.

انسان جي اِها ڪمزوري آهي تہ جنهن طرف ماڻهن جي ڪثرت هجي، جيڏانهن ظاهري سازو سامان جي ڪثرت هجي تہ ان کي اهم سمجهي وٺندو آهي. پر خدا جي نزديڪ سڄي اهميت رکو ڪيفيت جي آهي. مقدار جي ان وٽ ڪا قيمت نہ آهي. جيڪي ماڻهو ”گهٽي“ ڏانهن ڀوڙن ۽ ”توري“ کي نظر انداز ڪري ڇڏين، اُهي پنهنجي خيال ۾ وڏي هوشياري ڪري رهيا آهن. پر حقيقت جي لحاظ کان اُهي انتهائي نادان آهن. ڪامياب اُهو آهي جيڪو خدا جي خوف تحت پنهنجو رويو مقرر ڪري نہ وري مادي مصلحتن يا دنياوي انديشن جي تحت.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَسْـَٔلُوْا عَنْ اَشْيَآءَ اِنْ تُبْدَ لَكُمْ تَسُؤْكُمْ ۚ وَ اِنْ تَسْـَٔلُوْا عَنْهَا
حِيْنَ يُنَزَّلُ الْقُرْاٰنُ تُبْدَ لَكُمْ ؕ عَفَا اللّٰهُ عَنْهَا ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿١٠١﴾ قَدْ سَاَلَهَا قَوْمٌ
مِّنْ قَبْلِكُمْ ثُمَّ اَصْبَحُوْا بِهَا كٰفِرِيْنَ ﴿١٠٢﴾ مَا جَعَلَ اللّٰهُ مِنْۢ بَحِيْرَةٍ وَّ لَا سَآئِبَةٍ وَّ لَا
وَصِيْلَةٍ وَّ لَا حَامٍ ۙ وَّ لٰكِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ ؕ وَ اَكْثَرُهُمْ لَا
يَعْقِلُوْنَ ﴿١٠٣﴾ وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا اِلٰى مَاۤ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَ اِلَى الرَّسُوْلِ قَالُوْا حَسْبُنَا مَا
وَجَدْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا ؕ اَوَ لَوْ كَانَ اٰبَآؤُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ شَيْـًٔا وَّ لَا يَهْتَدُوْنَ ﴿١٠٤﴾ يٰۤاَيُّهَا
الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا عَلَيْكُمْ اَنْفُسَكُمْ ۚ لَا يَضُرُّكُمْ مَّنْ ضَلَّ اِذَا اهْتَدَيْتُمْ ؕ اِلَى اللّٰهِ
مَرْجِعُكُمْ جَمِيْعًا فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٠٥﴾

اي ايمان وارؤ! اهڙين ڳالهين بابت سوال نہ ڪريو، جيڪڏهن اُهي اوهان تي ظاهر ڪيون وڃن تہ اوهان کي ناگوار لڳن. ۽ جيڪڏهن اوهان انهن جي متعلق سوال ڪندؤ اهڙي وقت جڏهن قرآن نازل ٿي رهيو هجي تہ اُهي اوهان تي ظاهر ڪيون وينديون. الله انهن کان درگذر ڪيو. ۽ الله بخشڻ وارو بردبار آهي. توهان کان اڳين قومن بہ ائين سوال پڇيا هئا، پوءِ اُهي انهن جا منڪر ٿي رهجي ويا. الله بحيرا ۽ سائبہ ۽ وصليہ ۽ حام (ٻتن جي ناليَ تي ڇڏيل جانور) ڪي مقرر نہ ڪيو آهي. پر جن ماڻهن ڪفر ڪيو اُهي الله تي ڪوڙ مڙهين ٿا ۽ انهن مان اڪثر عقلِ کان ڪم نہ ٿا وٺن ۽ جڏهن کين چيو وڃي ٿو تہ الله جيڪو ڪجھ نازل ڪيو آهي ان ڏانهن اچو ۽ رسول ڏانهن اچو تہ اُهي چون ٿا تہ اسان جي لاءِ اُهوئي ڪافي آهي جنهن تي اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي هلندي ڏٺو آهي. ڇا ان جي باوجود جو سندن وڏا ڪجھ بہ نہ ڄاڻندا هجن ۽ نہ وري هدايت تي هجن. اي ايمان وارؤ! اوهان پنهنجو فڪر ڪريو. ڪو گمراھ ٿئي تہ اُن سان

توهان جو ڪو بہ نقصان نہ آهي، جيڪڏهن اوهين هدايت تي آهيو. توهان سڀني کي الله ڏانهن موٽڻو آهي، پوءِ هو توهان کي ٻڌائيندو جيڪو ڪجھ توهان ڪري رهيا هئا. ١٠١-١٠٥

---

روايتن ۾ اچي ٿو تہ جڏهن حج جو حڪم آيو تہ رسول اللهﷺ خطبو ڏيندي فرمايو: اي ماڻهو! توهان تي حج فرض ڪيو ويو آهي. اِهو ٻڌي بني اسد قبيلي جو هڪ ماڻهو اُٿيو ۽ ان چيو: اي خدا جا رسول ڇا هر سال جي لاءِ. رسول اللهﷺ اهو ٻڌي سخت ناراض ٿيا ۽ فرمايو: اُن ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي جيڪڏهن آئون چئي ڇڏيان ها، تہ هر سال لاءِ فرض ٿي وڃي ها ۽ جڏهن فرض ٿي وڃي ها تہ اوهان ماڻهو هر سال اُن کي نہ ڪري سگهو ها ۽ پوءِ توهين ڪفر جو عمل ڪريو ها. تنهن ڪري جيڪو آءٌ ڇڏي ڏيان ان کي توهان بہ ڇڏي ڏيو. جڏهن آءٌ ڪنهن شيءِ جو حڪم ڏيان تہ ان کي ڪريو ۽ جڏهن آءٌ ڪنهن شيءِ کان روڪيان تہ ان کان رڪجي وڃو. (تفسير ابن ڪثير)

غير ضروري سوال ڪرڻ کان جيڪا منع قرآن جي نازل ٿيڻ واري وقت هئي، اُها اڄ بہ گهربل آهي. اڄ بہ صحيح طريقو اِهو آهي تہ جيڪو حڪم جهڙي طرح ڏنو وڃي، اُن کي اُهڙي طرح رهڻ ڏنو وڃي. غير ضروري سوال ڪري ان جي حدن ۽ شرطن کي وڌائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي وڃي. جيڪو حڪم مختصر صورت ۾ آهي، ان جي تفصيل ۾ پوڻ جيڪو قطعي آهي، ان جون حدون قائم ڪرڻ ۽ جيڪا شيءِ مقرر ڪيل نہ آهي، ان کي مقرر ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ دين ۾ اهڙا اضافا آهن جن کان الله ۽ سندس رسول منع فرمايو آهي.

ڪنهن قوم جا جيڪي گذريل بزرگ هوندا آهن، زمانو گذرڻ ڪانپوءِ اُهي مقدس حيثيت حاصل ڪري وٺندا آهن. اڪثر گمراهيون انهن گذريل ماڻهن جي نالي تي ٿينديون آهن. ايستائين جو جيڪڏهن اُهي ڀڪري ۽ اُٺ جي تعظيم جو رواج قائم ڪري ويا هجن تہ ان کي بہ پوءِ اچڻ وارا ماڻهو بنا سوچڻ جي دهرائيندا رهندا آهن. جنهن بگاڙ جون روايتون ماضيءَ جي تقدس تي قائم هجن، ان جون پاڙون ايتريون تہ گهريون هونديون آهن جو ان کان ماڻهن کي هٽائڻ سخت مشڪل هوندو آهي. اهڙي قسم جي نفسياتي مونجهارن کان بچڻ انهي وقت ئي ممڪن هوندو آهي، جڏهن تہ ماڻهو جي اندر حقيقت ۾ اهو يقين پيدا ٿي وڃي تہ آخرڪار ان کي خدا جي سامهون حاضر ٿيڻو آهي. اهڙو ماڻهو اڄ ئي ان حقيقت کي مڃي ٿو وٺي جنهن کي موت ڪانپوءِ هر ماڻهو مڃڻ تي مجبور هوندو، پر ان وقت جو مڃڻ ڪنهن جي ڪجھ ڪم نہ ايندو.

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا شَهَادَةُ بَيْنِكُمْ اِذَا حَضَرَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ حِيْنَ الْوَصِيَّةِ اثْنٰنِ ذَوَا
عَدْلٍ مِّنْكُمْ اَوْ اٰخَرٰنِ مِنْ غَيْرِكُمْ اِنْ اَنْتُمْ ضَرَبْتُمْ فِي الْاَرْضِ فَاَصَابَتْكُمْ
مُّصِيْبَةُ الْمَوْتِ ۭ تَحْبِسُوْنَهُمَا مِنْۢ بَعْدِ الصَّلٰوةِ فَيُقْسِمٰنِ بِاللّٰهِ اِنِ ارْتَبْتُمْ لَا نَشْتَرِيْ
بِهٖ ثَمَنًا وَّلَوْ كَانَ ذَا قُرْبٰى ۙ وَلَا نَكْتُمُ شَهَادَةَ ۙ اللّٰهِ اِنَّآ اِذًا لَّمِنَ الْاٰثِمِيْنَ ﴿١٠٦﴾ فَاِنْ عُثِرَ عَلٰٓى
اَنَّهُمَا اسْتَحَقَّآ اِثْمًا فَاٰخَرٰنِ يَقُوْمٰنِ مَقَامَهُمَا مِنَ الَّذِيْنَ اسْتَحَقَّ عَلَيْهِمُ الْاَوْلَيٰنِ

فَيُقۡسِمٰنِ بِاللّٰهِ لَشَهَادَتُنَاۤ اَحَقُّ مِنۡ شَهَادَتِهِمَا وَ مَا اعۡتَدَيۡنَاۤ ۖ اِنَّاۤ اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۱۰۷﴾
ذٰلِكَ اَدۡنٰۤى اَنۡ يَّاۡتُوۡا بِالشَّهَادَةِ عَلٰى وَجۡهِهَاۤ اَوۡ يَخَافُوۡۤا اَنۡ تُرَدَّ اَيۡمَانٌۢ بَعۡدَ اَيۡمَانِهِمۡ ؕ وَ
ع ١٤ ٨ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اسۡمَعُوۡا ؕ وَ اللّٰهُ لَا يَهۡدِى الۡقَوۡمَ الۡفٰسِقِيۡنَ ﴿۱۰۸﴾

اي ايمان وارؤ! جڏهن اوهان مان ڪنهن جي موت جو وقت اچي وڃي ته وصيت ڪرڻ وقت شاهديءَ لاءِ اوهان مان ٻه معتبر ماڻهو گواهه ٿين. يا جيڪڏهن اوهان سفر جي حالت ۾ هجو ۽ اُتي موت جي مصيبت پيش اچي ته اوهان جي غيرن مان ٻه گواهه وٺي ڇڏجن. پوءِ جيڪڏهن اوهان کي شڪ پئجي وڃي ته ٻنهي گواهن کي نماز کانپوءِ روڪي وٺو ۽ اُهي ٻئي خدا جو قسم کڻي چون ته اسان ڪنهن قيمت جي بدلي ۾ ان کي نه وڪڻنداسون، چاهي کو اسان جو مائٽ ئي ڇو نه هجي. ۽ نه وري اسان الله جي شاهدي کي لڪائينداسون. جيڪڏهن اسان ائين ڪريون ته بيشڪ اسان گناهگارن مان ٿينداسون. پوءِ جيڪڏهن خبر پئجي ته انهن ٻنهي کا حق تلفي ڪئي آهي ته انهن جي جاءِ تي ٻه ٻيا گواهه انهن ماڻهن مان اٿن جن جو حق پوين ٻن گواهن مارڻ ٿي چاهيو. اُهي خدا جو قسم کڻن ته اسان جي شاهدي انهن ٻنهي جي شاهدي کان وڌيڪ برحق آهي ۽ اسان کا ٻه زيادتي نه ڪئي آهي. جيڪڏهن اسان ائين ڪريون ته اسان ظالمن مان ٿينداسون. هِن طريقي سان اميد ڪري سگهجي ٿي ته ماڻهو ٺيڪ گواهي ڏين. يا کين ڊپ ٿئي ته سندن قسم انهن (ٻين) جي قسمن کان پوءِ ابتي پئجي ويندي ۽ الله کان ڊڄو ۽ ٻڌو. الله نافرمانن کي سڌي راهه تي نه ٿو هلائي. ١٠٦-١٠٨

---

هڪ ماڻهو سفر ۾ آهي ۽ ان سان گڏ مال به آهي. رستي ۾ ان جي موت جو وقت اچي وڃي ٿو. هاڻي جيڪڏهن اُهو پنهنجي قريب ٻن مسلمانن کي ڏسي ته انهن کي پنهنجو مال ڏئي ڇڏي ۽ ان جي باري ۾ انهن کي وصيت ڪري ڇڏي. جيڪڏهن ٻه مسلمان ان وقت نه ملن ته غير مسلمانن مان ٻن ماڻهن سان اُهوئي معاملو ڪري. اِهي ٻئي ماڻهو مال کي آڻي وارثن جي حوالي ڪن. ان وقت وارثن کي جيڪڏهن انهن جي بيان جي باري ۾ شڪ ٿي وڃي ته ڪنهن نماز کانپوءِ مسجد ۾ انهن گواهن کي روڪيو وڃي. اِهي ٻئي ماڻهو عام مسلمانن جي سامهون قسم کڻن ته انهن مرڻ واري جي طرفان جيڪو ڪجهه چيو آهي اِهو صحيح آهي. جيڪڏهن وارث انهن جي حلفيه بيان تي مطمئن نه هجي ته وارثن مان ٻه ماڻهو پنهنجي ڳالهه جي حق ۾ قسم کڻن ۽ پوءِ ان قسم جي مطابق فيصلو ڪري ڇڏجي. وارثن کي اِهو حق ڏيڻ جو هڪ اهڙي رڪاوٽ قائم ڪرڻ آهي ته ڪو خيانت ڪرڻ وارو خيانت ڪرڻ جي جرائت نه ڪري.

شريعت ۾ هڪ مصلحت اِها به رکي وئي آهي ته روزمره جي معاملن ۾ اِهڙا حڪم ڏنا وڃن، جيڪي ماڻهو جي زندگي جي لاءِ سبق هجن. ڪنهن ماڻهوءَ جي مرڻ کانپوءِ ان جي مال جو حقدارن تائين پهچڻ هڪ خانداني ۽ معاشي معاملو آهي، پر ان کي ٻن اهم ڳالهين جي تربيت جو ذريعو بڻايو ويو آهي. هڪ اِها ته ماڻهن ۾ اِهو مزاج بڻجي ته معاملن ۾ اُهي رڳو تعلق ۽ مائٽي ۽ رشتيداري جو لحاظ نه ڪن، بلڪ رڳو حق جو لحاظ ڪن. هو اِهو ڏسن ته حق ڇا آهي نه وري اِهو ته ڳالهه ڪنهن جي فائدي ۾ وڃي رهي آهي ۽ ڪنهن جي خلاف. ٻيو اِهو ته هر ڳالهه کي خدا جي گواهي سمجهن. ڪا به ڳالهه جيڪا ماڻهو وٽ آهي اِها خدا جي هڪ امانت آهي. ڇاڪاڻ ته ان کي ماڻهو خدا جي ڏنل اک سان ڏٺو ۽ خدا جي ڏنل حافظي ۾ ان کي محفوظ رکيو ۽ جڏهن خدا جي ڏنل زبان سان هو ان جو اعلان ڪري رهيو آهي.

اهڙي حالت ۾ اِها امانت ۾ خيانت ٿيندي ته ماڻهو ڳالهه کي اهڙي طرح بيان نه ڪري، جيئن ته ان ڏٺو ۽ اِهڙي طرح اُن جي حافظي ان کي محفوظ رکيو.

يَوۡمَ يَجۡمَعُ اللّٰهُ الرُّسُلَ فَيَقُوۡلُ مَا ذَاۤ اُجِبۡتُمۡ ؕ قَالُوۡا لَا عِلۡمَ لَنَا ؕ اِنَّكَ اَنۡتَ عَلَّامُ الۡغُيُوۡبِ ﴿۱۰۹﴾ اِذۡ قَالَ اللّٰهُ يٰعِيۡسَى ابۡنَ مَرۡيَمَ اذۡكُرۡ نِعۡمَتِىۡ عَلَيۡكَ وَ عَلٰى وَالِدَتِكَ ۘ اِذۡ اَيَّدْتُّكَ بِرُوۡحِ الۡقُدُسِ ۚ تُكَلِّمُ النَّاسَ فِى الۡمَهۡدِ وَ كَهۡلًا ۚ وَ اِذۡ عَلَّمۡتُكَ الۡكِتٰبَ وَ الۡحِكۡمَةَ وَ التَّوۡرٰىةَ وَ الۡاِنۡجِيۡلَ ۚ وَ اِذۡ تَخۡلُقُ مِنَ الطِّيۡنِ كَهَيۡـــَٔةِ الطَّيۡرِ بِاِذۡنِىۡ فَتَنۡفُخُ فِيۡهَا فَتَكُوۡنُ طَيۡرًۢا بِاِذۡنِىۡ وَتُبۡرِئُ الۡاَكۡمَهَ وَالۡاَبۡرَصَ بِاِذۡنِىۡ ۚ وَاِذۡ تُخۡرِجُ الۡمَوۡتٰى بِاِذۡنِىۡ ۚ وَاِذۡ كَفَفۡتُ بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ عَنۡكَ اِذۡ جِئۡتَهُمۡ بِالۡبَيِّنٰتِ فَقَالَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا مِنۡهُمۡ اِنۡ هٰذَاۤ اِلَّا سِحۡرٌ مُّبِيۡنٌ ﴿۱۱۰﴾

جنهن ڏينهن الله پيغمبرن کي جمع ڪندو پوءِ پڇندو ته توهان کي ڪهڙو جواب ڏنو ويو هو. اُهي چوندا ته اسان کي ڪجهه علم نه آهي، ڳجهين ڳالهين کي تون ئي ڄاڻڻ وارو آهين. جڏهن الله چوندو اي عيسيٰ پٽ مريم! منهنجي اُن نعمت کي ياد ڪر جيڪا مون توتي ۽ تنهنجي ماءُ تي ڪئي جڏهن مون روح پاڪ سان تنهنجي مدد ڪئي، تون ماڻهن سان ڳالهائيندو هئين هنج ۾ ۽ وڏي عمر ۾ به ۽ جڏهن مون توکي ڪتاب ۽ حڪمت ۽ توريت ۽ انجيل جي تعليم ڏني ۽ جڏهن تون منهنجي حڪم سان مٽيءَ مان پکي جهڙي شڪل ٺاهيندو هئين پوءِ ان ۾ ڦوڪ ڏيندو هئين ته اُهو منهنجي حڪم سان پکي بڻجي ويندو هو. ۽ تون انڌي ۽ ڪوڙهي کي منهنجي حڪم سان چڱو ڀلو ڪندو هئين. ۽ جڏهن تون مئلن کي منهنجي حڪم سان ڪڍي ڪڙو ڪندو هئين ۽ جڏهن مون بني اسرائيل کي توکان روڪيو، جڏهن ته تون انهن وٽ پڌرين نشانين سان آيو آهين ته انهن جي منڪرن چيو اِهو ته رڳو هڪ پڌرو جادو آهي. ١٠٩-١١٠

---

پيغمبرن تي جن ماڻهن ايمان آندو، زمانو گذرڻ ڪانپوءِ سيني جي اندر بگاڙ پيدا ٿيو. انهن پنهنجو هٿ ٺوڪيل هڪ دين بڻايو ۽ ان کي پنهنجي پيغمبر ڏانهن منسوب ڪري ڇڏيو. ان جي باوجود هر گروهه پنهنجي پاڻ کي پنهنجي پيغمبر جي امت ۾ شمار ڪندو رهيو.حالانڪ پيغمبر جي اصل تعليم کان هٽڻ کان بعد ان جو پيغمبر سان ڪو تعلق باقي نه رهيو هو. يهودي پاڻ کي حضرت موسيٰ عليه السلام ڏانهن منسوب ڪندا آهن ۽ عيسائي پاڻ کي حضرت عيسيٰ عليه السلام ڏانهن. حالانڪ انهن جي رائج دين جو خدا جي انهن پيغمبرن سان ڪو به تعلق نه آهي. اِها حقيقت موجوده امتحان جي دنيا ۾ لڪيل آهي، پر قيامت جي ڏينهن اُها ظاهر ڪئي ويندي. ان ڏينهن خدا سيني پيغمبرن کي ۽ انهن سان گڏ انهن جي امتن کي جمع ڪندو. ان وقت امتن جي سامهون انهن جي پيغمبرن کان پڇيو ويندو ته توهان پنهنجي امتن کي ڪهڙي تعليم ڏني هئي ۽ امتن توهان جي تعليم جي ڪهڙي طرح پيروي ڪئي. اهڙي طرح هر امت تي اُن جي پيغمبر جي موجودگي ۾ پڌرو ڪيو ويندو ته انهن خدا جي دين جي معاملي ۾ پنهنجي پيغمبر جي ڪهڙي ڪهڙي خلاف ورزي ڪئي آهي ۽ ڪهڙي طرح هٿ ٺوڪيل دين کي انهن ڏانهن منسوب ڪيو آهي.

انھن پيغمبرن مان ھڪ مثال حضرت عيسيٰ عليه السلام جو آھي، جيڪي خاتم النبيين صلي الله عليه وسلم ۽ پاڻ صلي الله عليه وسلم
کان پھرين نبين جي وچ جي ڪڙي آھن. حضرت عيسيٰ عليه السلام کي انتھائي خصوصي معجزا ڏنا ويا.
پاڻ عليه السلام تي ايمان آڻڻ وارا تمام گھٽ ھئا ۽ پاڻ عليه السلام جي مخالفن (يھودين) کي ھر طرح جو دنياوي زور
حاصل ھو. اُن جي باوجود اُھي حضرت عيسيٰ عليه السلام جو ڪو نقصان نہ ڪري سگھيا ۽ نہ پاڻ عليه السلام جي ساٿين
کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا. انھن معجزن جو نتيجو اِھو ٿيڻ کپي ھا تہ ماڻھو پاڻ عليه السلام جي آنڌل دين
کي مڃي وٺن ھا. پر عملاً اِھو ٿيو تہ پاڻ عليه السلام جي مخالفن اِھو چئي پاڻ عليه السلام کي نظرانداز ڪري ڇڏيو تہ ھو
جيڪي معجزا ڏيکاري رھيا آھن، اُھي سڀ جادو جو ڪرشمو آھي ۽ جن ماڻھن پاڻ عليه السلام تي ايمان آندو
انھن ڪجھ زمانو گذرڻ کان پوءِ پاڻ عليه السلام کي خدائي جو درجو ڏئي ڇڏيو. قيامت جي ڏينھن پاڻ عليه السلام جي
پيروي جي دعويٰ ڪرڻ وارن جي سامھون اِھا حقيقت پڌري ڪئي ويندي تہ حضرت عيسيٰ عليه السلام جيڪي
ڪمالَ ڏيکاريا اُھي سڀ خدا جي حڪم سان ھُئا. پاڻ عليه السلام جي دشمنن پاڻ عليه السلام کي جن خطرن ۾ وڌو اُنھن
کان بہ الله ئي پاڻ عليه السلام کي بچايو. جڏھن صورتحال اھا ھئي ۽ حضرت عيسيٰ خود سامھون بيھي اُن جي
تصديق ڪري رھيا آھن تہ ھاڻي انھن جا امتي ٻُڌائين تہ انھن پاڻ عليه السلام ڏانھن جيڪو دين منسوب ڪيو ھو،
اُھو ڪنھن انھن کي ڏنو ھو.

وَ اِذْ اَوْحَيْتُ اِلَى الْحَوَارِيّٖنَ اَنْ اٰمِنُوْا بِيْ وَ بِرَسُوْلِيْ ۚ قَالُوْۤا اٰمَنَّا وَ اشْهَدْ بِاَنَّنَا
مُسْلِمُوْنَ ﴿١١١﴾ اِذْ قَالَ الْحَوَارِيُّوْنَ يٰعِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ هَلْ يَسْتَطِيْعُ رَبُّكَ اَنْ يُّنَزِّلَ
عَلَيْنَا مَآئِدَةً مِّنَ السَّمَآءِ ؕ قَالَ اتَّقُوا اللّٰهَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١١٢﴾ قَالُوْا نُرِيْدُ اَنْ نَّاْكُلَ
مِنْهَا وَ تَطْمَئِنَّ قُلُوْبُنَا وَ نَعْلَمَ اَنْ قَدْ صَدَقْتَنَا وَ نَكُوْنَ عَلَيْهَا مِنَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿١١٣﴾ قَالَ
عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ اللّٰهُمَّ رَبَّنَاۤ اَنْزِلْ عَلَيْنَا مَآئِدَةً مِّنَ السَّمَآءِ تَكُوْنُ لَنَا عِيْدًا
لِّاَوَّلِنَا وَ اٰخِرِنَا وَ اٰيَةً مِّنْكَ ۚ وَ ارْزُقْنَا وَ اَنْتَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿١١٤﴾ قَالَ اللّٰهُ اِنِّيْ مُنَزِّلُهَا
ع ١٥ عَلَيْكُمْ ۚ فَمَنْ يَّكْفُرْ بَعْدُ مِنْكُمْ فَاِنِّيْۤ اُعَذِّبُهٗ عَذَابًا لَّاۤ اُعَذِّبُهٗۤ اَحَدًا مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١١٥﴾

۽ جڏھن مون حوارين جي دلين ۾ وجھي ڇڏيو تہ مون تي ايمان آڻيو ۽ منھنجي رسول تي ايمان آڻيو تہ انھن
چيو تہ اسان ايمان آندو ۽ تون شاھد رھ تہ اسين فرمانبردار آھيون. جڏھن حوارين چيو تہ اي عيسيٰ پٽ مريم!
ڇا تنھنجو رب اھو ڪري سگھي ٿو تہ اسان تي آسمان مان ھڪ دسترخوان (طعام) نازل ڪري. عيسيٰ چيو
الله کان ڊڄو جيڪڏھن توھان ايمان وارا آھيو. انھن چيو اسان گھُرون ٿا تہ اُن مان ڪائون ۽ اسان جون دليون
مطمئن ٿين ۽ اسان اِھو ڄاڻي وٺون تہ تو اسان کي سچ چيو ۽ اسان اُن تي شاھدي ڏيڻ وارا بڻجي وڃون. عيسيٰ
پٽ مريم دعا گھري تہ اي الله! اسان جا رب! تون آسمان مان اسان تي ھڪ دسترخوان نازل فرماءِ جيڪو اسان
لاءِ ۽ اسان جي اڳين ۽ پوئين لاءِ عيد بڻجي وڃي ۽ تنھنجي طرفان ھڪ نشاني ھجي. ۽ اسان کي عطا فرماءِ ۽
تون ئي بھترين روزي عطا ڪرڻ وارو آھين. الله فرمايو تہ آءٌ اِھو دسترخوان ضرور اوھان تي نازل ڪندس.
پر ان ڪانپوءِ اوھان مان جيڪو بہ شخص منڪر ٿيو ان کي آئون اِھڙي سزا ڏيندس جيڪا دنيا ۾ ڪنھن کي
بہ نہ ڏني وئي ھوندي. ١١١-١١٥

ماڻهن کي حق ڏانهن سڏڻ جو ڪم جيتوڻيڪ داعي انجام ڏيندو آهي، پر سڏ تي لبيڪ چوڻ هميشه خدا جي توفيق سان ٿيندو آهي. دعوت جي صداقت کي دليلن سان جاچي وٺڻ کان پوءِ به گهڻيون ئي رڪاوٽون باقي رهنديون آهن جيڪي ماڻهوءَ کي ان ڏانهن وڌڻ نه ٿيون ڏين. داعي جو هڪ عام انسان جي صورت ۾ ڏسجڻ، اهو انديشو ته دعوت قبول ڪرڻ ڪانپوءِ زندگي جو ٺهيل ٺڪيل ڍانچو ٽٽي پوندو، اهو سوال ته جيڪڏهن اها سچائي آهي ته فلاڻا فلاڻا وڏا ماڻهو ڇا سچائي کان محروم هئا وغيره. اِهو هڪ انتهائي نازڪ مرحلو هوندو آهي جتي ماڻهو فيصلي جي ويجهو پهچي به فيصلو نه ٿو ڪري سگهي. اُهوئي اِهو مقام آهي جتي خدا ان جي مدد ڪري ٿو. جنهن ماڻهو جي اندر هو ڪجهه خير ڏسندو آهي ته ان جو هٿ جهلي ان کي شڪ جي سرحد پار ڪرائي ڇڏيندو آهي ۽ ان کي يقين جي دائري ۾ داخل ڪري ڇڏيندو آهي.

خدا جي طرفان هر وقت انسان کي رزق ڏنو پيو وڃي. ايستائين جو سڄي زمين انسان لاءِ رزق جو دسترخوان بڻيل آهي، پر جڏهن مسيح عليه السلام جي مؤمنن آسمان تان طعام نازل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ته انهن کي سخت تنبيهه ڪئي وئي. ان جو سبب اهو آهي ته عام حالتن ۾ انسان کي جيڪو رزق ملي رهيو آهي، اُهو اسباب جي پردي ۾ ملي رهيو آهي. جڏهن ته مسيح عليه السلام جي مؤمنن جو مطالبو اهو هو ته اسباب جو پردو هٽائي انهن جو رزق انهن کي ڏنو وڃي. اِها شيءِ الله جي سنت جي خلاف آهي. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن اسباب جو ظاهري پردو هٽائي ڇڏجي ته پوءِ امتحان ڪهڙي ڳالهه جو ٿيندو.

حقيقت اِها آهي ته ڪيتيءَ مان سرسبز فصل جو پيدا ٿيڻ يا مٽيءَ جي اندران هڪ وڻ جو نڪرڻ به اهڙي طرح جو معجزو آهي. جهڙي طرح ڪڪرن مان ڪنهن دسترخوان جو اسان ڏانهن اچڻ، پر انهن واقعن جو معجزو هجڻ اسان کي ان ڪري نظر نه ٿو اچي، ڇاڪاڻ ته اهي اسباب جي پردي ۾ ظاهر ٿي رهيا آهن. ماڻهو جو امتحان اهو آهي ته هو پردي کي هٽائي حقيقت کي ڏسي سگهي. هو ”زمين“ مان نڪرڻ واري رزق کي ”آسمان“ مان لهڻ واري رزق جي روپ ۾ ڏسڻ لڳي، جيڪڏهن ڪو شخص اهو مطالبو ڪري ته آءٌ ڏسي ميڃيندس ته ڄڻ هو اِهو چئي رهيو آهي ته امتحان مان گذرڻ کان بغير آئون خدا جي رحمت ۾ داخل ٿيندس. حالانڪ خدا جي سنت جي مطابق ائين ٿيڻ ممڪن نه آهي.

وَ اِذْ قَالَ اللّٰهُ يٰعِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ ءَاَنْتَ قُلْتَ لِلنَّاسِ اتَّخِذُوْنِيْ وَ اُمِّيَ اِلٰهَيْنِ مِنْ دُوْنِ
وقف النبی صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم اللّٰهِ ؕ قَالَ سُبْحٰنَكَ مَا يَكُوْنُ لِيْۤ اَنْ اَقُوْلَ مَا لَيْسَ لِيْ ۗ بِحَقٍّ ؕؔ اِنْ كُنْتُ قُلْتُهٗ فَقَدْ
عَلِمْتَهٗ ؕ تَعْلَمُ مَا فِيْ نَفْسِيْ وَ لَاۤ اَعْلَمُ مَا فِيْ نَفْسِكَ ؕ اِنَّكَ اَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ ﴿۱۱۶﴾ مَا
قُلْتُ لَهُمْ اِلَّا مَاۤ اَمَرْتَنِيْ بِهٖۤ اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ رَبِّيْ وَ رَبَّكُمْ ۚ وَ كُنْتُ عَلَيْهِمْ شَهِيْدًا مَّا
دُمْتُ فِيْهِمْ ۚ فَلَمَّا تَوَفَّيْتَنِيْ كُنْتَ اَنْتَ الرَّقِيْبَ عَلَيْهِمْ ؕ وَ اَنْتَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ
شَهِيْدٌ ﴿۱۱۷﴾ اِنْ تُعَذِّبْهُمْ فَاِنَّهُمْ عِبَادُكَ ۚ وَاِنْ تَغْفِرْ لَهُمْ فَاِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۱۱۸﴾
قَالَ اللّٰهُ هٰذَا يَوْمُ يَنْفَعُ الصّٰدِقِيْنَ صِدْقُهُمْ ؕ لَهُمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ

خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَ رَضُوْا عَنْهُ ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿١١٩﴾ لِلّٰهِ مُلْكُ
السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ مَا فِيْهِنَّ ؕ وَ هُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٢٠﴾

۽ جڏهن الله پڇندو اي عيسيٰ پٽ مريم! ڇا تو ماڻهن کي چيو هو تہ مون کي ۽ منهنجي ماءُ کي الله کان سواءِ معبود ڪري وٺو. هو جواب ڏيندو تہ تون پاڪ آهين، منهنجو اهو ڪم نہ هو تہ آئون اُها ڳالهہ چوان جنهن جو مون کي ڪوبہ حق نہ آهي. جيڪڏهن مون ائين چيو هوندو تہ اهو ضرور تنهنجي علم ۾ هوندو. تون ڄاڻين ٿو جيڪو منهنجي جيءَ ۾ آهي ۽ آئون نہ ٿو ڄاڻان جيڪو تنهنجي جيءَ ۾ آهي. بيشڪ تون ئي لڪيل ڳالهين کي ڄاڻڻ وارو آهين. مون انهن کي اهائي ڳالهہ چئي جنهن جو تو مون کي حڪم ڏنو هو. اهو تہ الله جي عبادت ڪريو جيڪو منهنجو رب آهي ۽ توهان جو بہ. ۽ آئون اُنهن تي شاهد هئس جيستائين انهن ۾ رهيس. پوءِ جڏهن تون مون کي ڪڻي ورتو تہ تون ئي انهن تي نگهبان هئين ۽ تون هر شيءِ تي گواهہ آهين. جيڪڏهن تون انهن کي سزا ڏين تہ اُهي تنهنجا ٻانها آهن ۽ جيڪڏهن تون انهن کي معاف ڪرين تہ تون ئي زبردست آهين، حڪمت وارو آهين. الله فرمائيندو تہ اڄ اُهو ڏينهن آهي جو سچن کي سندن سچ ڪم ايندو. انهن جي لاءِ باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن. اهي ان ۾ هميشہ رهندا. الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اُهي الله کان راضي ٿيا. اهائي وڏي ڪاميابي آهي. آسمانن ۽ زمين ۾ ۽ جيڪي ڪجهہ منجهن آهي تنهن سڀ جي بادشاهي الله لاءِ ئي آهي ۽ اُهو هر شيءِ تي قادر آهي. ١١٦-١٢٠

---

جڏهن قيامت ايندي تہ حقيقتون اهڙي طرح پڌريون ٿي وينديون تہ ماڻهو ڪنهن جي ٻڌائي بغير اِهو ڄاڻي وٺندو تہ سچ ڇا آهي ۽ غلط ڇا آهي. ماڻهو پنهنجن اکين سان ڏسي رهيا هوندا تہ سڀ طاقتون رڳو هڪ الله کي حاصل آهن. خالق ۽ مالڪ، معبود ۽ مطلوب هئڻ ۾ ڪوبہ ان جو شريڪ نہ آهي. ان ڪانسواءِ ڪنهن کي نہ ڪا طاقت حاصل آهي ۽ نہ وري ان ڪانسواءِ ڪو ان قابل آهي جو ان جي عبادت ۽ اطاعت ڪئي وڃي. اهڙي حالت ۾ جڏهن خدا پنهنجن پيغمبرن کان پڇندو تہ مون توهان کي ڪهڙو پيغام ڏئي دنيا ۾ موڪليو هو تہ اهو هڪ اهڙي ڳالهہ جو پڇڻ هوندو، جيڪا اڳ ۾ ئي ماڻهن کي معلوم ٿي وئي هوندي. ان سوال جو جواب ان وقت ايترو پڌرو هوندو تہ ڪنهن جي ڳالهائڻ جي بغير قيامت جو سڄو ماحول ان جو جواب ڏئي رهيو هوندو. اهو سوال ۽ جواب رڳو ماڻهن جي رسوائي ۾ اضافو ڪرڻ جي لاءِ هوندو. اهو اُن لاءِ هوندو تہ پيغمبرن جي سامهون بيهاري ماڻهن تي واضح ڪيو وڃي تہ پيغمبرن جي نالي تي جيڪو دين توهان ٺاهي رکيو هو، ان جو سندن حقيقي تعليم سان ڪوبہ تعلق نہ هو.

هي دنيا امتحان جي لاءِ ٺاهي وئي آهي. ان ڪري هِتي هر هڪ کي آزادي آهي. هِتي ماڻهو خدا ۽ رسول ڏانهن اهڙو دين منسوب ڪري بہ آباد ۽ خوشحال ٿي سگهي ٿو جنهن جو خدا ۽ رسول سان ڪوبہ تعلق نہ هجي. هِتي فرضي اميدن ۽ ڪوڙين آرزوئن تي بہ جنت تي پنهنجو حق ثابت ڪري سگهجي ٿو. هتي اُهو بہ ممڪن آهي تہ ماڻهو پنهنجي قيادت جو هنگامو برپا ڪري ۽ اهو ثابت ڪري تہ جيڪو ڪجهہ هو ڪري رهيو آهي اُهوئي خدا جو دين آهي. پر قيامت ۾ اهڙي قسم جي ڪابہ شيءِ ڪم اچڻ واري نہ آهي. قيامت ۾ جيڪا شيءِ ڪم ايندي اُها رڳو اِها آهي تہ ماڻهو خدا جي نظر ۾ سچو ثابت ٿئي. آسماني ڪتاب وارين قومن جو امتحان اهو نہ آهي تہ اُهي ايمان جون دعويدار بڻجن ٿيون يا نہ. انهن جو امتحان اهو آهي تہ اُهي پنهنجي ايمان جي دعويٰ کي سچو ثابت ڪن ٿيون يا نہ.

(٦) سُوْرَةُ الْاَنْعَامِ مَكِّيَّةٌ (٥٥) اٰياتها ١٦٥ ركوعاتها ٢٠

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ وَ جَعَلَ الظُّلُمٰتِ وَ النُّوْرَ۬ ثُمَّ الَّذِيْنَ
كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ يَعْدِلُوْنَ ﴿١﴾ هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ طِيْنٍ ثُمَّ قَضٰۤى اَجَلًا ؕ وَ اَجَلٌ مُّسَمًّى
عِنْدَهٗ ثُمَّ اَنْتُمْ تَمْتَرُوْنَ ﴿٢﴾ وَ هُوَ اللّٰهُ فِي السَّمٰوٰتِ وَ فِي الْاَرْضِ ؕ يَعْلَمُ سِرَّكُمْ وَ
جَهْرَكُمْ وَ يَعْلَمُ مَا تَكْسِبُوْنَ ﴿٣﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

سڀ تعريفون الله جي لاءِ آهن جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو ۽ اونداهين ۽ روشني کي پيدا ڪيائين. پوءِ به منڪر ماڻهو ٻين کي پنهنجي رب جي برابر ڪن ٿا. اُهوئي آهي جنهن اوهان کي مٽي مان پيدا ڪيو، پوءِ هڪ مدت مقرر ڪئي ۽ مقرر مدت ان جي علم ۾ آهي. پوءِ به اوهان شڪ ڪريو ٿا ۽ اهوئي الله آسمانن ۾ آهي ۽ اهوئي زمين ۾ به. اهو اوهان جي ڳجهي ۽ پڌري کي ڄاڻي ٿو ۽ اهو ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجھ اوهان ڪريو ٿا. ١-٣

---

آسمان ۽ زمين جو نظام پنهنجن سيني وسعتن جي باوجود ايترو ته جڙيل ۽ وحدانيت ۾ آهي جو اُهو پڪاري رهيو آهي ته ان جو خالق ۽ منتظم هڪ خدا ڪانسواءِ ٻيو ڪير نه ٿو ٿي سگهي. پوءِ زمين ۽ آسمان جي هيءَ ڪائنات پنهنجي وسعت ۽ پنهنجي حڪمت ۽ معنيٰ جي لحاظ کان ناقابل قياس حد تائين عظيم آهي. سج جي چوڌاري خلا ۾ زمين جي منظم گردش ۽ ان سان زمين جي سطح تي روشني ۽ اونداهي ۽ ڏينهن ۽ رات جو پيدا ٿيڻ انسان جي قياس ۽ گمان کان به گهڻو وڏو واقعو آهي. هاڻي جيڪو خدا ايتري وڏي ڪائناتي ڪارخاني کي ايتري ڪمال طريقي سان هلائي رهيو آهي، ان جي ذات ۾ ڪهڙي ڪمي ٿي سگهي ٿي جنهن جي تلافي جي لاءِ هو ڪنهن کي پنهنجو شريڪ بڻائي. حقيقت اِها آهي ته اسان جي دنيا ۽ ان جي اندر قائم حيرتناڪ نظام پاڻ ئي ان ڳالھ جو ثبوت آهي ته ان جو خدا صرف هڪ آهي ۽ اهوئي نظام ان ڳالھ جو ثبوت آهي ته اهو خدا ايترو عظيم ۽ شان وارو آهي جو ان کي پنهنجي تخليق ۽ انتظام ۾ ڪنهن مددگار جي ضرورت نه آهي.

موجوده دنيا جي عمر محدود آهي. هتي ڏکن کان خالي زندگي ممڪن نه آهي. هتي هر خوشي سان گڏ رنج جو پهلو جڙيل آهي. هِتي شر کي خير کان ۽ خير کي شر کان جدا نه ٿو ڪري سگهجي. اهڙي حالت ۾ ماڻهوءَ کي سمجھ ۾ نه ٿو اچي ته آخرت جي هميشه واري دنيا هر قسم جي ڏکن (فاطر ٣٤) کان خالي ڪيئن ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن ڪنهن ٻي مادي مان آخرت جي دنيا نهٽي آهي ته انسان ان کان واقف نه آهي ۽ جيڪڏهن هن ئي دنيا جي مادي مان ٻي دنيا نهٽي آهي ته هِن دنيا جي اندر اِهڙي

قسم جي هڪ ڪامل دنيا کي وجود ۾ آڻڻ جي صلاحيت نہ آهي.

پر سوال ڪرڻ واري جو خود پنهنجو وجود ئي ان سوال جي جواب ڏيڻ جي لاءِ ڪافي آهي. انسان جو جسم سڄي جو سڄو مٽي (زمين جي جزن) جو ٺهيل آهي. پر ان جي اندر اهڙيون منفرد صلاحيتون آهن جن مان ڪابہ صلاحيت مٽيءَ جي اندر نہ آهي. ماڻهو ٻڌي ٿو، هو ڳالهائي ٿو، هو سوچي ٿو، هو طرح طرح جا حيرت انگيز عمل انجام ڏيندو آهي. حالانڪ اُهو جنهن مٽيءَ مان ٺهيل آهي، اها اهڙي قسم جو ڪوبہ عمل انجام نٿي ڏئي سگهي. زمين جي جزن مان حيرت انگيز طور تي هڪ غير زميني مخلوق ٺهي وئي آهي. اهو هڪ اهڙو تجربو آهي جيڪو هر روز ماڻهو جي سامهون ٿي رهيو آهي. اهڙي حالت ۾ ڪهڙي نہ عجيب ڳالهہ آهي تہ ماڻهو آخرت جي ٿيڻ ۾ شڪ ڪري. جيڪڏهن مٽي مان جيئرو جاڳندو انسان نڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن مٽي مان خوشبودار گل ۽ ذائقيدار ميوا نڪري سگهن ٿا تہ اسان جي موجوده دنيا مان هڪ ٻي وڌيڪ ڪامل ۽ معياري دنيا ڇو ظاهر نہ ٿي ٿي سگهي.

وَ مَا تَأۡتِيۡهِمۡ مِّنۡ اٰيَةٍ مِّنۡ اٰيٰتِ رَبِّهِمۡ اِلَّا كَانُوۡا عَنۡهَا مُعۡرِضِيۡنَ ۝٤ فَقَدۡ كَذَّبُوۡا بِالۡحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمۡ ؕ فَسَوۡفَ يَاۡتِيۡهِمۡ اَنۡۢبٰٓؤُا مَا كَانُوۡا بِهٖ يَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ۝٥ اَلَمۡ يَرَوۡا كَمۡ اَهۡلَكۡنَا مِنۡ قَبۡلِهِمۡ مِّنۡ قَرۡنٍ مَّكَّنّٰهُمۡ فِي الۡاَرۡضِ مَا لَمۡ نُمَكِّنۡ لَّكُمۡ وَ اَرۡسَلۡنَا السَّمَآءَ عَلَيۡهِمۡ مِّدۡرَارًا ۪ وَّ جَعَلۡنَا الۡاَنۡهٰرَ تَجۡرِيۡ مِنۡ تَحۡتِهِمۡ فَاَهۡلَكۡنٰهُمۡ بِذُنُوۡبِهِمۡ وَ اَنۡشَاۡنَا مِنۡۢ بَعۡدِهِمۡ قَرۡنًا اٰخَرِيۡنَ ۝٦

۽ سندن رب جي نشانين مان جيڪا بہ نشاني انهن وٽ ايندي آهي هو ان کان منهن موڙيندا آهن. جڏهن بہ انهن وٽ جيڪو حق آيو اُن کي ڪوڙو ڪيائون. جلد انهن وٽ اُن شيءِ جون خبرون ايندين جن جو اُهي مذاق اُڏاريندا هئا. ڇا انهن نہ ڏٺو تہ ڪانئن اڳ اسان ڪيترين ئي قومن کي تباهہ ڪري ڇڏيو. اُنهن کي اسان زمين تي اهڙو ڄمايو هو جو اوهان کي بہ ايترو نہ ڄمايو اٿئون ۽ اسان مٿن آسمان مان خوب مينهن وسايو ۽ سندن هيٺيان وهندڙ نهرون جاري ڪيون. پوءِ سندن گناهن ڪري اسان انهن کي هلاڪ ڪيو. ۽ انهن کان پوءِ اسان ٻين قومن کي پيدا ڪيو. ٤-٦

---

خدا ۽ آخرت جي اُها دعوت جنهن جو آغاز خدا جي سڌي حمايت سان ٿيو هجي، اُن سان گڏ واضح علامتون هونديون آهن، جيڪي اُن ڳالهہ جو اعلان ڪري رهيون هونديون آهن تہ اها هڪ سچي دعوت آهي ۽ خدا جي طرفان آهي. اُن جو ان فطرت جي انداز تي هجڻ جنهن تي خدا جي ابدي دنيا جو نظام قائم آهي. اُن جو اهڙن دليلن جي بنياد تي هجڻ جنهن جو ٽوڙ ڪنهن لاءِ بہ ممڪن نہ هجي. اُن جي داعيءَ جو اهڙو هجڻ جنهن جي سنجيدگي ۽ اخلاص تي شڪ نہ ڪري سگهجي. اُن سان گڏ اهڙي تائيد جو هجڻ جو مخالف سيني قوتن جي باوجود اُن جي خلاف تخريبي منصوبن ۾ ڪامياب نہ ٿيا هجن. اهڙي طرح جون واضح نشانيون آهن جيڪي ان جي برحق هجڻ جي طرف صاف اشارو ڪري رهيون آهن. ان جي باوجود انسان ان تي يقين نہ ٿو ڪري ۽ ان جو ساٿ ڏيڻ تي آماده نہ ٿو ٿئي. ان ڪري جو اهي سڀ مددون سيني وضاحتن جي باوجود هميشہ اسباب جي پردي ۾ ظاهر ٿينديون آهن. ماڻهو جي

سامهون جڏهن بہ اهڙيون حالتون ايندیون آهن تہ هُو انهن کي خاص اسبابن ڏانهن منسوب ڪري انهن کي نظر انداز ڪري ڇڏيندو آهي، ان جو ذهن اعتراف جي رخ تي هلڻ جي لاءِ آماده نہ ٿو ٿئي. هو چوندو آهي تہ جيڪڏهن اِها دعوت خدا جي طرفان هجي ها تہ خدا ۽ فرشتا ظاهري صورت ۾ ان سان گڏ موجود هجن ها. حالانڪہ اهو خيال سراسر باطل آهي. چو تہ خدا ۽ فرشتا جڏهن ظاهري صورت ۾ سامهون اچي وڃن تہ اُهو فيصلي جو وقت هوندو آهي نہ وري دعوت ۽ تبليغ جو.

جن ماڻهن کي زمين ۾ طاقت حاصل هجي، جن پنهنجي لاءِ معاشي سازو سامان جمع ڪري ورتو هجي، جن کي پاڻ سان گڏ عظمت ۽ مقبوليت ڏسڻ ۾ ايندي هجي، اُهي هميشہ غلط فهمي ۾ پئجي ويندا آهن. اُهي پاڻ وٽ جمع ٿيل شين جي مقابلي ۾ انهن شين کي حقير سمجهي وٺندا آهن جيڪي حق جي داعي سان گڏ خدا جمع ڪيون آهن. انهن جي اِها خود اعتمادي ايتري وڌندي آهي جو اُهي خدا کان بہ بي خوف ٿي ويندا آهن. اُهي حق جي داعي جي ان تنبيهہ جو مذاق اڏائڻ لڳندا آهن تہ توهان جي سرڪشي جاري رهي تہ توهان جون مادي ترقيون توهان کي خدا جي پڪڙ کان بچائي نہ سگهنديون. حق جي داعي کي ڪجهہ بہ نہ سمجهڻ انهن جي نظر ۾ داعي جو تنبيهہ کي بہ بي معنيٰ بڻائي ڇڏيندو آهي. ماضي جا اُهي تاريخي واقعا بہ انهن کي سبق ڏيڻ جي لاءِ ڪافي ثابت نہ ٿا ٿين، جڏهن تہ خدا وڏن وڏن مادي استحڪام رکندڙ ماڻهن کي اهڙي طرح مٽائي ڇڏيو جڻ تہ انهن جي ڪا قيمت ئي نہ هئي. زمين ۾ بار بار هڪ قوم جو زوال ۽ ٻي قوم جو عروج ظاهر ڪندو آهي تہ هتي عمل مڪافات جو قانون نافذ آهي. پر ماڻهو سبق نہ ٿو وٺي. بعد ۾ ايندڙ ماڻهو ٻيهر انهيءَ عمل کي دهرائيندا آهن جنهن جي ڪري گذريل ماڻهو برباد ٿي ويا.

وَ لَوۡ نَزَّلۡنَا عَلَيۡكَ كِتٰبًا فِىۡ قِرۡطَاسٍ فَلَمَسُوۡهُ بِاَيۡدِيۡهِمۡ لَقَالَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اِنۡ هٰذَاۤ اِلَّا
سِحۡرٌ مُّبِيۡنٌ ﴿۷﴾ وَ قَالُوۡا لَوۡ لَاۤ اُنۡزِلَ عَلَيۡهِ مَلَكٌ ؕ وَ لَوۡ اَنۡزَلۡنَا مَلَكًا لَّقُضِىَ الۡاَمۡرُ ثُمَّ لَا
يُنۡظَرُوۡنَ ﴿۸﴾ وَ لَوۡ جَعَلۡنٰهُ مَلَكًا لَّجَعَلۡنٰهُ رَجُلًا وَّ لَلَبَسۡنَا عَلَيۡهِمۡ مَّا يَلۡبِسُوۡنَ ﴿۹﴾ وَ لَقَدِ
ع اسۡتُهۡزِئَ بِرُسُلٍ مِّنۡ قَبۡلِكَ فَحَاقَ بِالَّذِيۡنَ سَخِرُوۡا مِنۡهُمۡ مَّا كَانُوۡا بِهٖ يَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ﴿۱۰﴾
قُلۡ سِيۡرُوۡا فِى الۡاَرۡضِ ثُمَّ انۡظُرُوۡا كَيۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ الۡمُكَذِّبِيۡنَ ﴿۱۱﴾

۽ جيڪڏهن اسان توتي اِهڙو ڪتاب نازل ڪيون ها جيڪو ڪاغذ تي لکيل هجي ها ۽ اُهي ان کي پنهنجن هٿن سان ڇُهن ها، تڏهن بہ انڪار ڪرڻ وارا اهو چون ها تہ هِي هڪ پڌرو جادو آهي. ۽ اُهي چون ٿا تہ ان تي ڪو ملائڪ ڇو نہ لاٿو ويو. ۽ جيڪڏهن اسان ڪو ملائڪ لاهيون ها تہ معاملي جو فيصلو ٿي وڃي ها، پوءِ ڪين ڪا مهلت نہ ڏني وڃي ها. ۽ جيڪڏهن اسان ڪنهن ملائڪ کي رسول ڪري موڪليون ها تہ ان کي بہ انسان (جي صورت ۾) بڻايون ها. ۽ کين ان ئي شڪ ۾ وجهي ڇڏيون ها جنهن ۾ هو هاڻي بہ پيل آهن. ۽ توکان اڳ بہ رسولن جو مذاق اڏايو ويو تہ انهن منجهان جن ماڻهن مذاق تي اڏايو، انهن کي انهيءَ شيءِ اچي گهيريو جنهن جو اُهي مذاق اڏائيندا هئا. چئو تہ زمين ۾ هلو ڦرو ۽ ڏسو تہ ڪوڙو ڪندڙن جو ڪهڙو انجام ٿيو. ۷-۱۱

---

دنيا ۾ ماڻهوءَ جي گمراهي جو سبب اهو آهي تہ هِتي ان کي حق کان انڪار جي پوري آزادي

مليل آهي. ايستائين جو ان ڪيِ اِهو موقعو بہ حاصل آهي تہ هو پنهنجي خيالن جي لاءِ خوبصورت دليل بہ ٺاهي وٺي. امتحان جي هِن دنيا ۾ ايتري وسعت آهي تہ هِتي لفظ هر اهڙي مفهوم ۾ بدلجي ويندا آهن جنهن ۾ انسان انهن کي بدلائڻ چاهي. داعي جيستائين هڪ عام ماڻهو جي روپ ۾ ظاهر ٿئي تہ ماڻهو ان ڪيِ اِهو چئي نظرانداز ڪري سگهي ٿو تہ اِهو هڪ شخص جو قيادت حاصل ڪرڻ جو معاملو آهي نہ وري ڪو حق ۽ صداقت جو معاملو. اهڙي طرح جيستائين آسمان مان ڪو لکيل ڪتاب نازل ٿئي تہ ان کي رد ڪرڻ جي لاءِ بہ هو اهي لفظ ڳولهي وٺندو تہ اِهو تہ هڪ جادو آهي.

مکي جا ماڻهو چوندا هئا تہ پيغمبر جيستائين خدا جي طرفان ان جي پيغمبري جي لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي تہ ان سان گڏ خدا جا فرشتا ڇو نہ آهن جيڪي ان جي تصديق ڪن. اهڙي قسم جون ڳالهيون ماڻهو ان ڪري چوندو آهي جو هو دعوت جي معاملي ۾ سنجيده نہ هوندو آهي. جيستائين هو سنجيده هجي ها تہ ان کي جلد ئي اهو معلوم ٿي وڃي ها تہ هي دنيا امتحان جي دنيا آهي. امتحان ان وقت ئي ٿي سگهي ٿو جڏهن غيبي حقيقتن تي پردو پيل هجي. جيستائين غيبي حقيقتون ظاهر ٿي وڃن ۽ خدا ۽ سندس فرشتا سامهون اچي وڃن تہ پوءِ پيغمبري ۽ دعوت پهچائڻ جو ڪو بہ سوال ئي نہ رهندو. ڇاڪاڻ تہ ان کانپوءِ ڪنهن کي حقيقت کان انڪار ڪرڻ جي جرائت ئي نہ ٿيندي. موجوده دنيا ۾ ماڻهو پنهنجي ظاهر پرستي جي ڪري خدا جي داعيءَ کي سندس ڳالهين جي عظمت ۾ ناهن ڏسي سگهندا. اهي سندس اندازو صرف ان جي ظاهري پهلو جي لحاظ کان ڪن ٿا ۽ ظاهري لحاظ کان غير اهم سمجهي ان جو انڪار ڪري ڇڏين ٿا. ايستائين جو هو ان جو مذاق اڏائن ٿا. خدا جي داعي جو معاملو انهن کي ايئن لڳندو آهي جيئن هڪ معمولي ماڻهو اوچتو وڏي حيثيت جي دعويٰ ڪرڻ لڳي.

هن دنيا ۾ دعوت پهچائڻ جو سڄو معاملو خدا جي قانون شڪ جي تحت هوندو آهي. هتي حق سان گڏ شڪ جو پهلو رکيل آهي، تہ جيئن ماڻهو کي اقرار جي دليل سان گڏ ڪجهہ انڪار جي وجهہ بہ ملي وڃي. ماڻهو جو اصل امتحان اهو آهي تہ هو شڪ جي پردي کي هٽائي پاڻ کي يقين جي مقام تي پهچائي. هو شڪ جي پهلو کي ڇڏي يقين کي وٺي ڇڏي. ماڻهو جو اصل امتحان اِهو آهي تہ هو بغير ڏٺي مڃي. ڏسڻ کان پوءِ ان کي مڃڻ جي ڪا بہ قيمت نہ آهي.

قُلۡ لِّمَنۡ مَّا فِي السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ ؕ قُلۡ لِّلّٰهِ ؕ كَتَبَ عَلٰى نَفۡسِهِ الرَّحۡمَةَ ؕ لَيَجۡمَعَنَّكُمۡ
اِلٰى يَوۡمِ الۡقِيٰمَةِ لَا رَيۡبَ فِيۡهِ ؕ اَلَّذِيۡنَ خَسِرُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ فَهُمۡ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۱۲﴾ وَ لَهٗ مَا
سَكَنَ فِي الَّيۡلِ وَ النَّهَارِ ؕ وَ هُوَ السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ ﴿۱۳﴾ قُلۡ اَغَيۡرَ اللّٰهِ اَتَّخِذُ وَلِيًّا فَاطِرِ
السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ وَ هُوَ يُطۡعِمُ وَ لَا يُطۡعَمُ ؕ قُلۡ اِنِّيۡۤ اُمِرۡتُ اَنۡ اَكُوۡنَ اَوَّلَ مَنۡ اَسۡلَمَ وَ
لَا تَكُوۡنَنَّ مِنَ الۡمُشۡرِكِيۡنَ ﴿۱۴﴾ قُلۡ اِنِّيۡۤ اَخَافُ اِنۡ عَصَيۡتُ رَبِّيۡ عَذَابَ يَوۡمٍ عَظِيۡمٍ ﴿۱۵﴾ مَنۡ
يُّصۡرَفۡ عَنۡهُ يَوۡمَئِذٍ فَقَدۡ رَحِمَهٗ ؕ وَ ذٰلِكَ الۡفَوۡزُ الۡمُبِيۡنُ ﴿۱۶﴾

پڇا ڪر ڪنهن جو آهي جيڪو ڪجھ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي. چئو ته سڀ ڪجھ الله جو آهي. ان پنهنجي پاڻ تي رحمت لکي ڇڏي آهي. اُهو ضرور اوهان کي جمع ڪندو قيامت جي ڏينهن، ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي. جن ماڻهن پنهنجي پاڻ کي خساري ۾ وڌو، اُهي آهن جيڪي ان تي ايمان نه ٿا آڻين. ۽ الله جو ئي آهي جيڪو ڪجھ رهي ٿو رات ۾ ۽ جيڪو ڪجھ ڏينهن ۾ ۽ اهو سڀ ڪجھ ٻڌڻ وارو، ڄاڻڻ وارو آهي. چئو، ڇا آئون الله کانسواءِ ڪنهن ٻئي کي مددگار بڻايان جيڪو پيدا ڪرڻ وارو آهي آسمانن ۽ زمين جو. ۽ اهو سڀني کي کارائي ٿو ۽ کيس ڪير نه ٿو کارائي. چئو ته مون کي حڪم مليو آهي ته آئون سڀ کان پهرين فرمانبردار ٿيان ۽ تون ڪڏهن به مشرڪن مان نه ٿجان. چئو جيڪڏهن مون پنهنجي رب جي نافرماني ڪئي ته آئون هڪ وڏي ڏينهن جي عذاب کان ڊڄان ٿو. جنهن ماڻهو کان اُهو ان ڏينهن ٽري ويو تنهن تي الله وڏو رحم ڪيو ۽ اِهائي پڌري ڪاميابي آهي. ١٢-١٦

---

انسان پڌري حق جو انڪار ڪندو آهي. هو طاقت حاصل ڪري ٻين کي ذليل ڪندو آهي. هڪ انسان ٻئي انسان کي پنهنجي ظلم جو نشانو بڻائيندو آهي. ايئن ڇو آهي؟ ڇا انسان کي هِن دنيا ۾ مڪمل اقتدار حاصل آهي؟ ڇا هِتي ان جو ڪو هٿ پڪڙڻ وارو نه آهي؟ ڇا خدا وٽ تضاد آهي جو ان باقي دنيا کي رحمت ۽ انصاف سان ڀري ڇڏيو آهي ۽ انسان جي دنيا کي ظلم ۽ بي انصافي سان. ايئن نه آهي جيڪو خدا زمين ۽ آسمان جو مالڪ آهي، اهوئي خدا ان مخلوق جو به مالڪ آهي، جيڪا ڏينهن جو متحرڪ هوندي آهي ۽ راتين جو قرار ۾ هوندي آهي. خدا جنهن طرح باقي ڪائنات جي لاءِ سچي جو سچو رحمت آهي، اهڙي طرح هو انسانن جي لاءِ به سراسر رحمت آهي. فرق اهو آهي ته باقي دنيا ۾ خدا جي رحمتن جو ظهور اول ڏينهن کان آهي ۽ انسان جي دنيا ۾ اُن جي رحمتن جو ڪامل ظهور قيامت جي ڏينهن ٿيندو.

انسان ارادي واري مخلوق آهي ۽ ان کان ان جي ارادي سان ڪيل عبادت گهربل آهي. ان جو مطلب اهو آهي ته جيڪي ماڻهو پنهنجي ارادي جو صحيح استعمال نه ڪن، اُهي ان قابل نه آهن جو انهن کي خدا جي رحمتن ۾ حصيدار بڻايو وڃي. ڇاڪاڻ ته انهن پنهنجي تخليق جو مقصد کي پورو نه ڪيو. آزمائش واري مدت پوري ٿيڻ کانپوءِ سڀ ماڻهو هڪ نئين دنيا ۾ جمع ڪيا ويندا. ان ڏينهن ان دنيا جو انتظام پنهنجي هٿ ۾ وٺي ڇڏيندو جهڙي طرح اڄ باقي ڪائنات جو انتظام سندس هٿ ۾ آهي. ان ڏينهن خدا جي انصاف جي ساهمي قائم ٿيندي. ان ڏينهن اُهي ماڻهو سرفراز هوندا جن حقيقت جو اعتراف ڪندي پنهنجي پاڻ کي خدا جي اطاعت ۾ ڏئي ڇڏيو هوندو ۽ اهي ماڻهو خساري ۾ هوندا جن حقيقت جو اعتراف نه ڪيو ۽ خدا جي دنيا ۾ سرڪشي ۽ هٺ ڌرمي جي طريقي تي هلندا رهيا.

انسان جڏهن به سرڪشي ڪندو آهي ڪنهن جي ڀروسي تي ڪندو آهي. پر جن شين جي ڀروسي تي انسان سرڪشي ڪندو آهي، انهن جي هن ڪائنات ۾ ڪا به حقيقت نه آهي. هِتي هر شيءِ بي زور آهي، زور وارو رڳو هڪ خدا آهي. سڀ ان جا محتاج آهن ۽ هو ڪنهن جو به محتاج نه آهي. ان ڪري فيصلي جي ڏينهن اُهو ئي ماڻهو بامراد ٿيندو جنهن حقيقي سهاري کي پنهنجو سهارو بڻايو هوندو، جنهن حقيقي دين کي پنهنجي زندگي ۾ اختيار ڪيو هوندو.

وَاِنْ يَّمْسَسْكَ اللّٰهُ بِضُرٍّ فَلَا كَاشِفَ لَهٗٓ اِلَّا هُوَ ۭ وَاِنْ يَّمْسَسْكَ بِخَيْرٍ فَهُوَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ

قَدِيْرٌ ﴿١٧﴾ وَ هُوَ الْقَاهِرُ فَوْقَ عِبَادِهٖ ۭ وَ هُوَ الْحَكِيْمُ الْخَبِيْرُ ﴿١٨﴾ قُلْ اَیُّ شَیْءٍ اَكْبَرُ
شَهَادَةً ۭ قُلِ اللّٰهُ ۟ۙ شَهِيْدٌۢ بَيْنِيْ وَ بَيْنَكُمْ ۣ وَ اُوْحِيَ اِلَيَّ هٰذَا الْقُرْاٰنُ لِاُنْذِرَكُمْ بِهٖ وَ مَنْۢ
بَلَغَ ۭ اَئِنَّكُمْ لَتَشْهَدُوْنَ اَنَّ مَعَ اللّٰهِ اٰلِهَةً اُخْرٰى ۭ قُلْ لَّاۤ اَشْهَدُ ۚ قُلْ اِنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ
وَّ اِنَّنِيْ بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تُشْرِكُوْنَ ﴿١٩﴾ قف لازم

۽ جيڪڏهن الله توکي ڪو ڏک پهچائي ته ان ڪان سواءِ ڪو ان کي پري ڪرڻ وارو نه آهي. ۽ جيڪڏهن الله توکي ڪا ڀلائي پهچائي ته هو هر شيءِ تي قادر آهي. ۽ انهيءَ جو زور آهي پنهنجن ٻانهن تي. ۽ هو حڪمت وارو سيني جي خبر رکڻ وارو آهي، تون پُڇ ته سڀ ڪان وڌو گواهه ڪير آهي. چؤ الله، هو منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ گواهه آهي ۽ مون تي قرآن نازل ٿيو آهي ته جيئن آئون اوهان کي ان ڪان خبردار ڪري ڇڏيان ۽ اُن کي جنهن تائين اِهو پهچي. ڇا اوهان اُن جي گواهي ڏيو ٿا ته الله سان گڏ ڪجهه ٻيا به معبود آهن. چؤ آءٌ ان جي گواهي نه ٿو ڏيان. چؤ، اُهو ته رڳو هڪ ئي معبود آهي ۽ آئون بيزار آهيان اوهان جي شرڪ ڪان. ١٧-١٩

---

اسان جي سامهون جيڪا عظيم ڪائنات ڦهليل آهي. ان جا مختلف جز پاڻ ۾ ايترا ڳنڍيل آهن جو هتي ڪنهن هڪ واقعي کي ظهور ۾ آڻڻ جي لاءِ به سڄي ڪائنات جي مدد ضروري آهي. ان ڪري ڪوبه انسان ڪنهن واقعي کي ظهور ۾ آڻڻ تي قادر نه آهي. ڇاڪاڻ ته ڪوبه انسان ڪائنات تي قابو پائيندڙ نه آهي. هِتي هڪ معمولي شيءِ به ان وقت وجود ۾ ايندي آهي، جڏهن بيشمار عالمي اسباب ان جي پويان جمع ٿي وڃن ۽ خدا ڪان سواءِ ڪير به نه آهي جيڪو انهن اسبابن تي حڪمران هجي. ڪائنات جي اسبابن جي وچ ۾ ماڻهو رڳو هڪ حقير ارادي جو مالڪ آهي. حقيقت اها آهي جو هن دنيا ۾ ڪنهن کي ڪو سک ملي يا ڪنهن کي ڪو ڏک پهچي، ٻئي خدا جي اجازت سان ٿيندا آهن. اهڙي حالت ۾ ڪنهن جو اهو سوچڻ به حماقت آهي ته هو ڪنهن کي آباد يا برباد ڪري سگهي ٿو ۽ اها ڳالهه به کِل جوڳي آهي ته خدا ڪان سوا به ڪو آهي، جنهن ڪان ڊڄجي يا خدا ڪان سواءِ به ڪو آهي، جنهن سان هو پنهنجون اميدون وابسته ڪري.

دنيا ۾ اهل حق ۽ اهل باطل جي وچ ۾ جيڪا ڪشمڪش جاري آهي، اُن ۾ فيصلو ڪندڙ شيءِ رڳو خدا جو ڪتاب آهي. خدا ڪان سواءِ ڪنهن کي به حقيقت جو علم نه آهي ۽ خدا ڪان سواءِ ڪنهن کي ڪنهن به قسم جو زور حاصل نه آهي. اُن ڪري خدا ئي اُها واحد هستي آهي جيڪا ان جهڳڙي جو فيصلو ڪندڙ آهي ۽ خدا قرآن جي صورت ۾ اِهو فيصلو ڪندڙ ماڻهن جي وچ ۾ رکي ڇڏيو آهي. هاڻي ماڻهو جي سامهون ٻه رستا آهن. جيڪڏهن هو قرآن جي صداقت ڪان بي خبر آهي ته هو تحقيق ڪري معلوم ڪري ته ڇا حقيقت ۾ اِهو خدا جو ڪتاب آهي ۽ جڏهن هو ڄاڻي وني ته اهو حقيقت ۾ خدا جو ڪتاب آهي ته اُن کي لازمي اُن جي فيصلي تي راضي ٿيڻ کپي. جيڪو ماڻهو قرآن جي فيصلي تي راضي نه هجي ته هو اِهو خطرو ڪٽي رهيو آهي ته آخرت ۾ رسوائي ۽ عذاب جي قيمت تي اُن کي اُن فيصلي تي راضي ٿيڻو پوندو.

قرآن اُن ڪري نازل ڪيو ويو آهي ته فيصلي جو وقت اچڻ ڪان پهرين ماڻهن کي اچڻ واري وقت

ڪان هوشيار ڪري ڇڏجي. رسول اِهو ڪم پنهنجي زماني ۾ ڪيو ۽ پاڻ ﷺ جي امت کي اِهو ئي ڪم پاڻ ﷺ کان پوءِ قيامت تائين انجام ڏيڻو آهي. قرآن اُن ڳالهه جي اڳواٽ اطلاع آهي ته آخرت جي هميشه واري دنيا ۾ ماڻهن جو خدا ماڻهن سان ڪهڙو معاملو ڪرڻ وارو آهي. پهچائڻ وارا اُن وقت پنهنجي ذميداري کان آجا ٿي ويندا آهن جڏهن هو ان کي پوري طرح ماڻهن تائين پهچائي ڇڏين. پر ٻڌڻ وارا خدا وٽ اُن وقت تائين آجا نه ٿيندا، جيستائين هو اُن کي مڃين ۽ اُن کي پنهنجي عملي زندگي ۾ اختيار ڪن. داعي جي زميداري ”تبليغ“ تي ختم ٿيندي آهي ۽ مدعو جي ذميداري ”اطاعت“ تي.

وقف لازم اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْرِفُوْنَهٗ كَمَا يَعْرِفُوْنَ اَبْنَآءَهُمْ ۘ اَلَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ
ع ٢ ٨ فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٢٠﴾ وَ مَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ ؕ اِنَّهٗ لَا
يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢١﴾ وَ يَوْمَ نَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ثُمَّ نَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ اَشْرَكُوْٓا اَيْنَ شُرَكَآؤُكُمُ
الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ ﴿٢٢﴾ ثُمَّ لَمْ تَكُنْ فِتْنَتُهُمْ اِلَّآ اَنْ قَالُوْا وَ اللّٰهِ رَبِّنَا مَا كُنَّا
مُشْرِكِيْنَ ﴿٢٣﴾ اُنْظُرْ كَيْفَ كَذَبُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ وَ ضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٢٤﴾

جن ماڻهن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي سي ان کي ائين سڃاڻن ٿا جيئن پنهنجن پٽن کي سڃاڻن ٿا. جن ماڻهن پاڻ کي خساري ۾ وڌو اُهي اُن کي نٿا مڃن. ۽ اُن ماڻهو کان وڌو ظالم ڪير هوندو جيڪو الله تي بهتان لڳائي يا الله جي نشانين کي ڪوڙو ڪري. بيشڪ ظالمن کي فلاح نٿي ملي. ۽ جنهن ڏينهن اسان انهن سڀني کي گڏ ڪنداسين، پوءِ اسان چونداسون انهن شرڪ ڪرڻ وارن کي ته اوهان جا اُهي شريڪ ڪٿي آهن جن جي اوهان دعويٰ ڪندا هئا. پوءِ انهن وٽ ڪوبه بهانو نه هوندو. سواءِ اُن جي جو چون ته الله جو قسم جيڪو اسان جو رب آهي، اسان شرڪ ڪرڻ وارا نه هئاسون. ڏس ته ڪيئن نه پنهنجو پاڻ ته ڪوڙ ڳالهايو اٿن ۽ گم ٿي ويون انهن کان اُهي ڳالهيون جيڪي اُهي ٺاهيندا هئا. ٢٠-٢٤

---

حقيقت ماڻهو جي لاءِ ڄاتل سڃاتل شيءِ آهي، ڇاڪاڻ ته اُها ماڻهو جي فطرت ۾ آهي ۽ ڪائنات ۾ هر طرف خاموش زبان ۾ ڳالهائي رهي آهي. يهودين ۽ نصارن جو معاملو هن ڳالهه ۾ اڃا به اڳتي آهي. ڇاڪاڻ ته انهن جا نبي ۽ انهن جا صحيفا انهن کي قرآن ۽ پيغمبر ﷺ آخر الزمان جي باري ۾ صاف لفظن ۾ اڳ ۾ ئي خبر ڏئي چڪا هئا، تنهن ڪري اُنهن لاءِ اُن کي سڃاڻڻ ائين ئي هو جيئن پنهنجي پٽ کي سڃاڻڻ.

ايتري قدر پڌرو هئڻ جي باوجود انسان ڇو حقيقت کي تسليم نه ٿو ڪري. اُن جو سبب وقتي نقصان جو انديشو آهي. حقيقت کي مڃڻ هميشه اُن قيمت تي هوندو آهي ته ماڻهو پاڻ کي وڏائي جي مقام تان لاهي. هو تقليدي ڍانچي کان ٻاهر اچي، هو مليل فائدن کي ترڪ ڪري. ماڻهو اها قرباني ڏيڻ جي لاءِ تيار نه ٿو ٿئي. اُن ڪري هو حق کي قبول نه ٿو ڪري. وقتي فائدن جي خاطر هو پاڻ کي هميشه جي گهاٽي ۾ وجهي ٿو ڇڏي.

پنهنجي هن موقف تي مطمئن رهڻ لاءِ اها ڳالهه وڌيڪ اُن کي دوکي ۾ وجهي ٿي ته هو امتحان

جي هن دنيا ۾ هميشه پنهنجي موافق دليل ڳولڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي، هو سچائي جي حق ۾ ظاهر ٿيڻ وارن دليلن کي رد ڪرڻ جي لاءِ ڪوڙا لفظ ڳولي وٺندو آهي. ايستائين جو هُن کي هتي اها آزادي بہ حاصل آهي تہ حقيقت جي هٿ ٺوڪيل تعبير ڪري اهو چئي سگهي تہ سچائي بلڪل اُها ئي آهي جنهن تي آئون قائم آهيان.

جڏهن بہ ماڻهو خدا کي ڇڏي ٻين شين کي پنهنجي توجهہ جو مرڪز ٺاهي ٿو تہ آهستي آهستي انهن شين جي چوطرف انهن جي تائيد ڪندڙ ڳالهين جو هڪ طلسم تيار ٿي ويندو آهي. هو بي حقيقت آرزوئن ۽ ڪوڙين تمنائن جو هڪ هٺرادو قصو ٺاهي وٺندو آهي، جيڪو هُن کي اُن دوکي ۾ مبتلا رکي ٿو تہ هن وڏو مضبوط سهارو جهلي ورتو آهي. پر قيامت ۾ جڏهن سڀ پردا هٽي ويندا ۽ ماڻهو ڏسندو تہ خدا کان سوا سڀ سهارا بلڪل ڪوڙا هئا، تہ اُن جي سامهون اُن کان سواءِ ڪا راهہ نہ هوندي تہ هو پاڻ پنهنجي چيل ڳالهين جي ترديد نہ ڪرڻ لڳي. اهڙي قسم جا ماڻهو اُن وقت خود پنهنجي ڪوڙ خلاف گواهہ بڻجي ويندا. دنيا ۾ اُهي جن شين جا حامي رهيا ۽ جن سان منسوب ٿيڻ کي اُهي پنهنجي فخر جو سبب سمجهندا رهيا، اهي آخرت ۾ خود اُن جا منڪر ٿي ويندا. انهن عقيدن ۽ دليلن جو جيڪو ڪوڙو قلعو ٺاهيو هو، اُهو اهڙي طرح ڊهي پوندو ڄڻ اُن جو ڪو وجود ئي نہ هو.

وَ مِنۡهُمۡ مَّنۡ يَّسۡتَمِعُ اِلَيۡكَ ۚ وَ جَعَلۡنَا عَلٰى قُلُوۡبِهِمۡ اَكِنَّةً اَنۡ يَّفۡقَهُوۡهُ وَ فِيۡۤ اٰذَانِهِمۡ وَقۡرًا ؕ وَ اِنۡ يَّرَوۡا كُلَّ اٰيَةٍ لَّا يُؤۡمِنُوۡا بِهَا ؕ حَتّٰۤى اِذَا جَآءُوۡكَ يُجَادِلُوۡنَكَ يَقُوۡلُ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اِنۡ هٰذَاۤ اِلَّاۤ اَسَاطِيۡرُ الۡاَوَّلِيۡنَ ﴿٢٥﴾ وَ هُمۡ يَنۡهَوۡنَ عَنۡهُ وَ يَنۡـَٔوۡنَ عَنۡهُ ۚ وَ اِنۡ يُّهۡلِكُوۡنَ اِلَّاۤ اَنۡفُسَهُمۡ وَ مَا يَشۡعُرُوۡنَ ﴿٢٦﴾ وَ لَوۡ تَرٰۤى اِذۡ وُقِفُوۡا عَلَى النَّارِ فَقَالُوۡا يٰلَيۡتَنَا نُرَدُّ وَ لَا نُكَذِّبَ بِاٰيٰتِ رَبِّنَا وَ نَكُوۡنَ مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿٢٧﴾ بَلۡ بَدَا لَهُمۡ مَّا كَانُوۡا يُخۡفُوۡنَ مِنۡ قَبۡلُ ؕ وَ لَوۡ رُدُّوۡا لَعَادُوۡا لِمَا نُهُوۡا عَنۡهُ وَ اِنَّهُمۡ لَكٰذِبُوۡنَ ﴿٢٨﴾

۽ انهن مان ڪي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي توڏانهن ڪن لڳائي ٻڌن ٿا ۽ اسان سندن دلين تي پردا وجهي ڇڏيا آهن تہ جيئن هو اُن کي نہ سمجهن. ۽ سندن ڪنن ۾ ٻوڙائپ آهي. جيڪڏهن هو سڀ نشانيون ڏسي وٺن تڏهن بہ انهن تي ايمان نہ آڻيندا. ايستائين جو جڏهن هو تو وٽ بحث لاءِ اچن ٿا تہ اُهي منڪر چون ٿا تہ هي تہ بس اڳين ماڻهن جون آکاڻيون آهن. اُهي ماڻهن کي روڪين ٿا ۽ پاڻ بہ ان کان پري رهندا آهن. اُهي خود پاڻ کي هلاڪ ڪري رهيا آهن پر اُهي نہ ٿا سمجهن. ۽ جيڪڏهن تون انهن کي اُن وقت ڏسين جڏهن اُهي باهہ تي بيهاريا ويندا ۽ چوندا تہ ڪاش! اسان جيڪڏهن وري دنيا ۾ موٽايا وڃون تہ اسان پنهنجي رب جي نشانين کي هرگز ڪوڙو نہ ڪريون ۽ اسان ايمان وارن مان ٿي وڃون، هاڻي انهن تي اُها شيءِ پڌري ٿي ويئي جنهن کي هو ان کان اڳ ۾ لڪائيندا هئا. ۽ جيڪڏهن اُهي واپس ڪيا وڃن تہ اُهي بيهر اُهوئي ڪندا جنهن کان اُهي روڪيا ويا هئا ۽ بيشڪ اُهي ڪوڙا آهن. ٢٥-٢٨

---

موجوده امتحان جي دنيا ۾ ماڻهو کي اهو موقعو حاصل آهي تہ هو پنهنجي مرضي مطابق هر ڳالهہ جو مطلب ڪڍي سگهي. ان ڪري جيڪي ماڻهو تعصب جي ذهن سان ڳالهہ کي ٻڌندا آهن، انهن

جو حال اِهڙو هوندو آهي جڻ انهن جا ڪن بند هجن ۽ انهن جي دلين تي پردا پيل هجن. اُهي ٻڌي به نه ٿا ٻڌن ۽ ٻڌائڻ ڪانپوءِ به نه ٿا سمجهن. دليل پنهنجن سيني وضاحتن جي باوجود انهن کي مطمئن ڪرڻ ۾ ناڪام رهندا آهن. ڇاڪاڻ ته هو جيڪو ڪجهه ٻڌندا آهن، جهگڙي واري ذهن سان ٻڌندا آهن نه وري نصيحت واري ذهن سان. انهن جي اندر ڳالهه کي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جو ڪو به ارادو نه هوندو آهي. ان جو نتيجو اِهو ٿيندو آهي ته ڪنهن ڳالهه جو اصل پهلو انهن جي ذهن جي گرفت ۾ نه ٿو اچي، ان جي ابتڙ هر ڳالهه کي اُبتي شڪل ڏيڻ جي لاءِ انهن کي ڪا نه ڪا شيءِ ملي ويندي آهي. دليل انهن جي ذهن جو جز نٿا بڻجن. پنهنجي مخالفاڻي ذهن جي ڪري اُهي هر ڳالهه ۾ ڪو اهڙو پهلو ڪڍي وٺندا آهن، جنهن جي غلط معنيٰ ڪري هو پاڻ کي مطمئن رکن ٿا ته اُهي حق تي آهن.

جيڪي ماڻهو اِهو مزاج رکندا هجن، انهن جي لاءِ سڀ دليل بيڪار آهن. ڇاڪاڻ ته امتحان جي هِن دنيا ۾ ڪو به دليل اِهڙو نه آهي جيڪو ماڻهو کي ان ڪان روڪي ڇڏي ته هو ان جي ترديد جي لاءِ ڪجهه هٿرادو لفظ نه ڳولي سگهي. جيڪڏهن ڪو دليل نه ملي تڏهن به هو حقارت سان اهو چئي اُن کي نظر انداز ڪري ڇڏيندو: "ته هِي ڪهڙي نئين ڳالهه آهي، هِي ته اهائي پراڻي ڳالهه آهي جيڪا اسان گهڻو اڳ ۾ ٻڌندا آيا آهيون". اهڙي طرح ماڻهو ان جي صداقت کي ميڇي ڪري به ان کي رد ڪرڻ جو هڪ بهانو ڳولي وٺندو. اهڙا ماڻهو خدا جي نزديڪ ٻيڻا مجرم آهن. ڇاڪاڻ ته هو نه رڳو پاڻ حق ڪان رڪجن ٿا، بلڪ هڪ خدائي دليل کي غلط معنيٰ ڏئي عام ماڻهن جي نظر ۾ به ان کي شڪ وارو بڻائيندا آهن. جيڪي ايتري سمجهه به نه ٿا رکن ته ڳالهين جو گهرائي سان تجزيو ڪري سگهن.

دنيا جي زندگي ۾ اهڙي قسم جا ماڻهو گهٽيون وڏيون ڳالهيون ڪندا آهن. دنيا ۾ حق جو انڪار ڪري ماڻهو جو ڪجهه به نه ٿو بگڙي، ان ڪري هو غلط فهميءَ ۾ پيو هوندو آهي، پر قيامت ۾ جڏهن ان کي باهه جي مثان بيهاري پڇيو ويندو ته ان تي سڀ حقيقتون کلي ونديون. اچانڪ هو انهن سيني ڳالهين جو اقرار ڪرڻ لڳندو جن کي هو دنيا ۾ ٺڏي ڇڏيندو هو.

وَ قَالُوْٓا اِنْ هِيَ اِلَّا حَيَاتُنَا الدُّنْيَا وَ مَا نَحْنُ بِمَبْعُوْثِيْنَ ﴿٢٩﴾ وَ لَوْ تَرٰٓى اِذْ وُقِفُوْا عَلٰى
رَبِّهِمْ ؕ قَالَ اَلَيْسَ هٰذَا بِالْحَقِّ ؕ قَالُوْا بَلٰى وَ رَبِّنَا ؕ قَالَ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ
تَكْفُرُوْنَ ﴿٣٠﴾ قَدْ خَسِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِلِقَآءِ اللّٰهِ ؕ حَتّٰٓى اِذَا جَآءَتْهُمُ السَّاعَةُ بَغْتَةً
قَالُوْا يٰحَسْرَتَنَا عَلٰى مَا فَرَّطْنَا فِيْهَا ۙ وَ هُمْ يَحْمِلُوْنَ اَوْزَارَهُمْ عَلٰى ظُهُوْرِهِمْ ؕ اَلَا سَآءَ
مَا يَزِرُوْنَ ﴿٣١﴾ وَ مَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا لَعِبٌ وَّ لَهْوٌ ؕ وَ لَلدَّارُ الْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ
يَتَّقُوْنَ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٣٢﴾

۽ چون ٿا ته اسان جي زندگي ته رڳو هن دنيا جي ئي زندگي آهي. ۽ اسان وري نه اٿاريا وينداسين. ۽ جيڪڏهن تون انهن کي اُن وقت ڏسين جڏهن هو پنهنجي رب جي سامهون بيهاريا ويندا. هو انهن کان پڇندو ڇا اِها حقيقت نه آهي، اُهي جواب ڏيندا ته ها، اسان جي رب جو قسم اها حقيقت آهي. الله فرمائيندو ته پوءِ عذاب چکو اُن

انڪار جي بدلي ۾ جيڪو اوهان ڪندا هُئا. يقيناً اُهي ماڻهو خساري ۾ پئجي ويا جن الله سان ملاقات کي ڪوڙو سمجهيو. ايستائين جڏهن اها گهڙي انهن تي اوچتو اچي ويندي ته اُهي چوندا هاءِ افسوس! اسان ان معاملي ۾ ڪيڏي نه ڪوتاهي ڪئي ۽ اُهي پنهنجن پٺين تي پنهنجو بار ڪنيل هوندا. ڏسو ڪهڙو نه بڇڙو بار آهي جيڪو هو ڪڻندا ۽ دنيا جي زندگي ته رڳو هڪ کيل تماشو آهي ۽ آخرت جو گهر بهتر آهي انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي تقويٰ اختيار ڪن ٿا، ڇا اوهان نه ٿا سمجهو. ٢٩-٣٢

---

جڏهن ڪو به ماڻهو حق جو انڪار ڪندو آهي يا نفس جي خواهشن تي هلندو آهي ته اهو ان ڪري هوندو آهي جو هو دنيا ۾ اهو سمجهي نه ٿو رهي ته مرڻ ڪانپوءِ ان کي ٻيهر اٿاريو ويندو ۽ ڪائنات جي مالڪ جي سامهون حساب ڪتاب جي لاءِ بيهاريو ويندو. دنيا ۾ ماڻهوءَ کي اختيار مليل آهي، جنهن کي هو بغير روڪ ٽوڪ جي استعمال ڪندو آهي. ان کي مال ۽ دولت ۽ دوست ۽ ساٿي هوندا آهن جن تي هو ڀروسو ڪري سگهي ٿو. ان کي عقل مليل آهي، جنهن سان هو سرڪشيءَ جون ڳالهيون سوچي ۽ پنهنجي ظالماڻي عمل لاءِ خوبصورت وجهه پيش ڪري سگهي. اِهي شيون اُن کي دوکي ۾ وجهنديون آهن. هو خدا ڪانسواءِ ٻين شين تي ڪوڙو ڀروسو ڪري وڃي ٿو. هو سمجهڻ لڳي ٿو ته جيئن آئون اڄ آهيان، اِهڙو ئي آئون هميشه رهندس. ان کي وسري ٿو وڃي ته دنيا ۾ ان کي جيڪو ڪجهه مليل آهي، اهو امتحان جي لاءِ آهي نه وري اهو ان جو حق آهي.

اهڙي قسم جي زندگي چاهي اُها آخرت جي انڪار ڪرڻ ڪري هجي يا وري انڪار جا لفظ ڳالهائڻ بغير هجي. اِهو ماڻهوءَ جو سڀ کان وڏو جرم آهي. جن دنياوي شين کي ماڻهو پنهنجو سڀ ڪجهه سمجهي انهن تي مرندو آهي. آخر ڪهڙي حق جي بنياد تي هو ايئن ڪري رهيو آهي. ماڻهو جنهن روشني ۾ هلي ٿو ۽ جنهن هوا ۾ ساهه کڻي ٿو، ان جو هن ڪو به معاوضو ادا نه ڪيو آهي. هو جنهن زمين مان پنهنجو رزق حاصل ڪري ٿو اُن جو ڪو به جُز سندس ٺاهيل نه آهي. اُهي سڀ وڻندڙ شيون جن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهو ڊڪ ڊوڙ ڪري ٿو، انهن مان ڪا به شيءِ اهڙي نه آهي، جيڪا ان جي پنهنجي هجي. جڏهن ته اِهي شيون انسان جون پيدا ڪيل نه آهن ته پوءِ جيڪو انهن سيني شين جو مالڪ آهي. ڇا ان جو ماڻهوءَ تي ڪو به حق نه آهي. حقيقت اِها آهي ته ماڻهوءَ جو موجوده دنيا کي استعمال ڪرڻ ئي لازمي ڪري ڇڏي ٿو ته اُهو هڪ ڏينهن ان جي مالڪ جي سامهون حساب جي لاءِ بيهاريو وڃي.

جيڪي ماڻهو دنيا کي خدا جي دنيا سمجهي زندگي گذارين ٿا، انهن جي زندگي تقويٰ جي زندگي هوندي آهي ۽ جيڪي ماڻهو ان کي خدا جي دنيا نه سمجهن، انهن جي زندگي کيل تماشي جي زندگي هوندي آهي. کيل ۽ تماشي جي زندگي ڪجهه ڏينهن جو تماشو آهي، جيڪو مرڻ سان گڏ ختم ٿي ويندو ۽ تقويٰ جي زندگي خدا جي ابدي اصولن تي قائم آهي. ان ڪري اُها هميشه جي لاءِ ماڻهو جو سهارو بڻجي ويندي. موجوده دنيا ۾ ماڻهو انهن حقيقتن جو انڪار ڪندو آهي، پر امتحان جي آزادي ختم ٿيندي ئي هو ان جو اقرار ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندو. جيتوڻيڪ ان وقت جو مڃڻ ان جي ڪجهه به ڪم نه ايندو.

قَدۡ نَعۡلَمُ اِنَّهٗ لَيَحۡزُنُكَ الَّذِيۡ يَقُوۡلُوۡنَ فَاِنَّهُمۡ لَا يُكَذِّبُوۡنَكَ وَلٰكِنَّ الظّٰلِمِيۡنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ يَجۡحَدُوۡنَ ۝٣٣ وَلَقَدۡ كُذِّبَتۡ رُسُلٌ مِّنۡ قَبۡلِكَ فَصَبَرُوۡا عَلٰى مَا كُذِّبُوۡا وَاُوۡذُوۡا حَتّٰٓى اَتٰٮهُمۡ

نَصۡرُنَا ۚ وَلَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِ اللّٰهِ ۚ وَلَقَدۡ جَآءَكَ مِنۡ نَّبَاِی الۡمُرۡسَلِيۡنَ ﴿٣٤﴾ وَاِنۡ كَانَ كَبُرَ
عَلَيۡكَ اِعۡرَاضُهُمۡ فَاِنِ اسۡتَطَعۡتَ اَنۡ تَبۡتَغِىَ نَفَقًا فِى الۡاَرۡضِ اَوۡ سُلَّمًا فِى السَّمَآءِ
فَتَاۡتِيَهُمۡ بِاٰيَةٍ ؕ وَلَوۡ شَآءَ اللّٰهُ لَجَمَعَهُمۡ عَلَى الۡهُدٰى فَلَا تَكُوۡنَنَّ مِنَ الۡجٰهِلِيۡنَ ﴿٣٥﴾ اِنَّمَا
يَسۡتَجِيۡبُ الَّذِيۡنَ يَسۡمَعُوۡنَ ؕ وَالۡمَوۡتٰى يَبۡعَثُهُمُ اللّٰهُ ثُمَّ اِلَيۡهِ يُرۡجَعُوۡنَ ﴿٣٦﴾

النصف وقف منزل وقف غفران

اسان کي معلوم آهي ته جيڪو چون ٿا، اُن سان توکي رنج پهچندو آهي. اهي ماڻهو توکي ڪوڙو نه ٿا ڪن بلڪ اهي ظالم اصل ۾ الله جي آيتن جو انڪار ڪري رهيا آهن. ۽ توکان اڳ ۾ به رسولن کي ڪوڙو ڪيو ويو ته انهن سندن ڪوڙي ڪرڻ ۽ ايذاءُ تي صبر ڪيو، ايستائين جو وٽن اسان جي مدد پهتي. ۽ الله جي ڳالهين کي ڪو به بدلائڻ وارو نه آهي. ۽ پيغمبرن جون ڪجهه خبرون تو وٽ پهچي چڪيون آهن. ۽ جيڪڏهن انهن جو منهن موڙڻ توکي ڏکيو لڳي رهيو آهي ته پوءِ جي توکي ڪجهه طاقت آهي ته زمين ۾ ڪا سرنگهه ڳولي ڪڍ يا آسمان ۾ ڏاڪڻ لڳائي ۽ انهن جي لاءِ ڪا نشاني آڻ. ۽ جيڪڏهن الله چاهي ها ته انهن سڀني کي هدايت تي گڏ ڪري ڇڏي ها. اُن ڪري تون اڻڄاڻن مان نه ٿجانءِ. قبول ته اُهي ئي ماڻهو ڪن ٿا جيڪي ٻڌن ٿا ۽ مئلن کي الله اٿاريندو پوءِ هو اُن ڏانهن موٽايا ويندا. ٣٣-٣٦

---

ابوجهل رسول اللهﷺ کي چيو: اي محمد! خدا جو قسم اسان توکي ڪوڙو نٿا ڪيون. يقيناً تون اسان جي وچ ۾ هڪ سچو ماڻهو آهين. پر اسان اُن شيءِ کي ڪوڙو ڪيون ٿا جنهن کي تو آندو آهي. مڪي جي ماڻهن جن ايمان نه آندو هو، اُهي پاڻﷺ کي سُٺو انسان مڃيندا هئا. پر جنهن جي متعلق اِهو مڃڻ ته اُن جي زبان تي حق جاري ٿيو آهي، اُن کي تمام وڏو رتبو ڏيڻ آهي ۽ ايترو وڏو رتبو ڏيڻ جي لاءِ اُهي تيار نه هئا. پاڻﷺ کي جڏهن هو ”سچو“ يا ”ايمان وارو“ چوندا هئا ته انهن کي اِها نفسياتي تسڪين ملندي هئي ته پاڻﷺ اسان جي ئي سطح جا هڪ انسان آهن. پر ان ڳالهه جو اقرار ڪرڻ ته پاڻﷺ جي زبان تي خدا جو ڪلام جاري ٿيو آهي. پاڻﷺ کي پاڻ کان بلند درجو ڏيڻ جي هم معنيٰ هو ۽ ان قسم جو اعتراف ماڻهو جي لاءِ مشڪل ڪم آهي.

موجوده دنيا ۾ خدا پنهنجي ظاهري صورت ۾ سامهون نه ٿو اچي. هو دليلن ۽ نشانين جي صورت ۾ انسان جي سامهون ظاهر ٿيندو آهي. ان ڪري حق جي دليلن کي نه مڃڻ يا ان جي حق ۾ ظاهر ٿيڻ وارين نشانين کان اکيون بند ڪري ونڃ چڻ ته خدا کي نه مڃڻ ۽ خدا کان اکيون ڦيرڻ آهي. ڇاڪاڻ ته ايئن نه ٿو ٿي سگهي ته خدا مجبور ڪري ڇڏڻ وارن معجزن سان سامهون اچي. مجبور ڪندڙ معجزن سان گڏ جيڪڏهن خدا جي دعوت پيش ڪئي وڃي ته پوءِ اختيار جي آزادي ختم ٿي ويندي ۽ امتحان جي لاءِ اختيار جي آزادي وارو ماحول هئڻ ضروري آهي. داعي کي ان ڳالهه جو غم نه ڪرڻ کپي ته ان وٽ رڳو دليل جو وزن آهي، غير معمولي قسم جون تسخيري قوتون ان وٽ موجود نه آهن. داعي کي اُن فڪر ۾ پئجي وڃڻ جي بجاءِ صبر ڪرڻ کپي. حق جي دعوت واري ڪوشش هڪ پاسي داعي جي صبر جو امتحان هوندو آهي ۽ ٻئي پاسي مخاطبن جي لاءِ اُن ڳالهه جو امتحان ته هو پاڻ جهڙي هڪ انسان ۾ خدا جو نمائندو هئڻ جي جهلڪ ڏسن. هو انسان جي منهن مان نڪتل ڪلام ۾ خدائي ڪلام جي عظمتن کي سڃاڻي وٺن.

اُهي مادي زور کان خالي دليل جي اڳيان اهڙي طرح جهڪي وڃن، جهڙي طرح هو زور آور خدا جي اڳيان جهڪندا. زنده ماڻهن جي لاءِ سڄي ڪائنات نشانين سان ڀريل آهي ۽ جن پنهنجن احساسن کي مرده ڪري ڇڏيو آهي، اُهي قيامت جي زلزلي ڪانسواءِ ڪنهن ٻي شيءِ مان سبق نه ٽا وٺي سگهن.

وَ قَالُوْا لَوْ لَا نُزِّلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ قُلْ اِنَّ اللّٰهَ قَادِرٌ عَلٰۤى اَنْ يُّنَزِّلَ اٰيَةً وَّ لٰكِنَّ
اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝٣٧ وَ مَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ وَ لَا طٰٓئِرٍ يَّطِيْرُ بِجَنَاحَيْهِ اِلَّاۤ اُمَمٌ
اَمْثَالُكُمْ ؕ مَا فَرَّطْنَا فِي الْكِتٰبِ مِنْ شَيْءٍ ثُمَّ اِلٰى رَبِّهِمْ يُحْشَرُوْنَ ۝٣٨ وَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا
بِاٰيٰتِنَا صُمٌّ وَّ بُكْمٌ فِي الظُّلُمٰتِ ؕ مَنْ يَّشَاِ اللّٰهُ يُضْلِلْهُ ؕ وَ مَنْ يَّشَاْ يَجْعَلْهُ عَلٰى صِرَاطٍ
مُّسْتَقِيْمٍ ۝٣٩

۽ اُهي چوندا آهن ته رسول تي ڪا نشاني ان جي رب جي طرفان ڇو نه لٿي. چؤ بيشڪ الله قادر آهي ته ڪا نشاني لاهي. پر اڪثر ماڻهو نه ٿا ڄاڻن. ۽ جيڪو به جانور زمين تي هلندو آهي ۽ جيڪو به پکي پنهنجن ٻن پرن سان اڏامي ٿو، اِهي سڀ توهان جهڙيون امتون آهن. اسان لکڻ ۾ ڪا به شيءِ نه ڇڏي آهي. پوءِ سڀ پنهنجي رب وٽ گڏ ڪيا ويندا. ۽ جن اسان جي نشانين کي ڪوڙو ڪيو، اُهي ٻوڙا ۽ گونگا آهن. اونداهين ۾ پيل آهن. الله جنهن کي چاهي ٿو ڀٽڪائي ڇڏيندو آهي ۽ جنهن کي چاهيندو آهي سڌي راهه تي لڳائيندو آهي. ٣٧-٣٩

---

هنن آيتن کي مختصر طور تي کوليو وڃي ته پورو مضمون هن طرح هوندو. اُهي چوندا آهن ته پيغمبر سان غير معمولي نشاني ڇو نه آهي، جيڪا ان جي پيغام جي سچي هئڻ جو ثبوت هجي. الله هر قسم جي نشاني لاهڻ تي قادر آهي، پر اصل سوال نشانيءَ جو نه آهي، بلڪ ماڻهن جي بي علميءَ جو آهي. نشانيون ته بيشمار تعداد ۾ هر طرف پکڙيل آهن. جڏهن ماڻهو انهن موجود نشانين مان سبق نه ٿا وٺن ته ٻي نئين نشاني لاهڻ مان اُهي ڪهڙو فائدو وٺي سگهندا. قسم قسم جا جانور ۽ مختلف قسم جا اڏامندڙ پکي جيڪي زمين ۽ فضا ۾ موجود آهن، اُهي توهان جي لاءِ نشانيون ئي ته آهن. ان سڄي زنده مخلوق کان به الله کي اهو ئي گهربل آهي جيڪو توهان کان گهربل آهي ۽ هر هڪ کان جيڪو ڪجهه گهربل آهي، ان کي خدا ان جي لاءِ لکي ڇڏيو آهي. انسان کان شرعي طور ۽ ٻي مخلوق کان فطري طور تي. پکين ۽ جانورن جهڙي مخلوق خدا جي لکيي تي پورو پورو عمل ڪري رهيون آهن، پر انسان خدا جي لکيي کي مڃڻ جي لاءِ تيار نه آهي. ان ڪري اِهو معاملو نشانيءَ جو نه بلڪ انڌپڻ جو آهي، باقي سڄي مخلوق جنهن دين تي آهي، انسان جي لاءِ ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو دين اختيار ڪرڻ جو ڪهڙو سبب آهي. حقيقت اها آهي ته جن کي عمل ڪرڻو آهي، اُهي نشانين جو مطالبو ڪرڻ ڪانسواءِ عمل ڪري رهيا آهن ۽ جن کي عمل ڪرڻو ئي نه آهي، اُهي نشانين جي هجوم ۾ رهي ڪري به نشانيون گهُري رهيا آهن. اهڙن ماڻهن جو انجام اِهوئي آهي ته قيامت ۾ سيني کي جمع ڪري ڏيکاريو وڃي ته هر قسم جا حيوان ڪهڙي طرح حقيقت پسندي جو طريقو اختيار ڪري خدا جي رستي تي هلي رهيا هئا. اِهو رڳو انسان هو جيڪو ان کان انڪار ڪندو رهيو.

جانورن جي دنيا مڪمل طور تي فطرت جي مطابق دنيا آهي. انهن وٽ رزق جي تلاش آهي، پر ظلم ۽ زيادتي نہ آهي. انهن وٽ ضرورت آهي، پر حرص ۽ خود غرضي نہ آهي. انهن وٽ باهمي تعلق آهي، پر هڪٻئي کان ڇنڻ نہ آهي. انهن وٽ هيٺا ۽ ڏاڍا آهن، پر حسد ۽ غرور نہ آهي. انهن کي هڪٻئي مان تڪليف پهچندي آهي، پر بغض ۽ دشمني نہ آهي. انهن وٽ ڪم تي رهيا آهن، پر ڪنهن کي تمغو وٺڻ جو شوق نہ آهي، پر انسان سرڪشي ڪري ٿو. هو خدا جي نقشي جو پابند ٿيڻ لاءِ تيار نہ ٿو ٿئي. انسان کان جنهن شيءِ جو مطالبو آهي، اها نيڪ اُهائي آهي، جنهن تي ٻيا حيوان قائم آهن. پوءِ ان جي لاءِ معجزو گهرڻ جي ڪهڙي ضرورت. حيوانن جي صورت ۾ هلندڙ ڦرندڙ نشانيون ڇا ماڻهن جي سبق لاءِ ڪافي نہ آهن؟ جيڪي خدائي طريقي واري عمل جو زنده نمونو پيش ڪري رهيون آهن ۽ اهڙي طرح پيغمبر جي تعليم جي برحق هئڻ جي عملي تصديق ڪن ٿيون.

قُلْ اَرَءَيْتَكُمْ اِنْ اَتٰىكُمْ عَذَابُ اللّٰهِ اَوْ اَتَتْكُمُ السَّاعَةُ اَغَيْرَ اللّٰهِ تَدْعُوْنَ ۚ اِنْ
كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۴۰﴾ بَلْ اِيَّاهُ تَدْعُوْنَ فَيَكْشِفُ مَا تَدْعُوْنَ اِلَيْهِ اِنْ شَآءَ وَ تَنْسَوْنَ مَا
ع ۱۱ ۱۰ تُشْرِكُوْنَ ﴿۴۱﴾

چئو تہ ڀلا جيڪڏهن اوهان تي الله جو عذاب اچي يا قيامت اچي وڃي تہ ڇا اوهان الله کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي پڪاريندؤ. ٻڌايو جيڪڏهن اوهان سچا آهيو. بلڪ اوهين ان کي ئي سڏيندؤ. پوءِ هو پري ڪري ڇڏيندو آهي ان مصيبت کي جنهن جي لاءِ اوهان ان کي پڪاريو ٿا. جيڪڏهن هو چاهيندو آهي. ۽ اوهان وساري ڇڏيندا آهيو، اُنهن کي جن کي سندس شريڪ ڪندا آهيون. ٤٠-٤١

---

ابوجهل جو پٽ عڪرمہ اسلام جو سخت دشمن هو. هُو مڪي جي فتح تائين اسلام جو مخالف رهيو. مڪي جي فتح واري ڏينهن بہ ان هڪ مسلمان کي تير هڻي هلاڪ ڪري ڇڏيو هو. عڪرمہ انهن ماڻهن مان هو، جنهن جي باري ۾ مڪي جي فتح جي ڏينهن رسول اللهﷺ اهو حڪم ڏنو هو تہ جتي بہ ملن اُتي قتل ڪيا وڃن.

مڪو جڏهن فتح ٿي ويو تہ عڪرمہ مڪو ڇڏي جدي ڏانهن ڀڳو. ان چاهيو ٿي تہ ٻيڙيءَ جي ذريعي بحر قلزم پار ڪري حبش پهچي وڃي. پر هو ٻيڙي ۾ سوار ٿي جڏهن سمنڊ ۾ پهتو تہ تيز هوائن ٻيڙي کي گهيري ورتو. ٻيڙي خطري ۾ پئجي وئي. ٻيڙيءَ جا سيئي مسافر مشرڪ ماڻهو هئا. انهن لات ۽ عزيٰ وغيره، پنهنجن بتن کي مدد لاءِ پڪارڻ شروع ڪيو. پر طوفان جي شدت وڌندي رهي. ايستائين جو مسافرن کي يقين ٿي ويو تہ هاڻي ٻيڙي ٻڏي ويندي. هاڻي ٻيڙيءَ وارن چيو تہ هِن وقت لات و عزيٰ ڪجھ ڪم نہ ايندا. هاڻي رڳو هڪ خدا کي پڪاريو، اُهوئي توهان کي بچائي سگهي ٿو. پوءِ سيئي هڪ ئي خدا کي پڪارڻ لڳا. هاڻي طوفان رڪجي ويو ۽ ٻيڙي واپس ڪناري تي اچي وئي. عڪرمہ تي ان واقعي جو تمام وڏو اثر ٿيو. ان چيو: خدا جو قسم، درياء ۾ جيڪڏهن ڪا شيءِ خدا کانسواءِ ڪم نہ ٿي اچي سگهي تہ يقيناً خشڪي ۾ بہ خدا کانسواءِ ٻي ڪا شي ڪم نہ ٿي اچي سگهي. خدايا! آئون توسان واعدو ڪريان ٿو تہ جيڪڏهن تو مون کي هِن مان نجات ڏني، جنهن ۾ هِن وقت آئون ڦاسي ويو آهيان تہ

آئون ضرور محمدﷺ وٽ ويندس ۽ پنهنجو هٿ ان جي هٿ ۾ ڏئي ڇڏيندس ۽ مون کي يقين آهي ته آئون ان کي معاف ڪرڻ وارو ۽ درگذر ڪرڻ وارو ۽ مهربان لهندس. (اللهم لک عهد ان عافيتني مما انا فيه ان آتي محمدا حتيٰ اضع يدي في يده فلاجدنه عفوا غفورا کريما - رواه ابو دائود والنسائي)

سڄي تاريخ جو اهو مشاهدو آهي ته انسان نازڪ وقت ۾ خدا کي پڪارڻ لڳندو آهي. ايستائين جو اهو شخص به جيڪو عام زندگي ۾ خدا ڪانسواءِ ٻين تي ڀروسو ڪندو هجي يا وري خدا کي ميڃيندو ئي نه هجي. اهو خدا جي وجود ۽ ان جي قادر هئڻ جي فطري شهادت آهي. غير معمولي حالتن ۾ جڏهن ظاهري پردا هٽي وڃن ٿا ۽ ماڻهو سڀني مصنوعي خيالن کي وساري ڇڪو هوندو آهي، ان وقت ماڻهو کي خدا ڪانسواءِ ڪا شيءِ ياد نه ٿي اچي. ٻين لفظن ۾ مجبوريءَ جي حد تي پهچي هر ماڻهو خدا جو اقرار ڪري وٺندو آهي. قرآن جو مطالبو اِهو آهي ته اهڙو اقرار ۽ اطاعت ماڻهو ان وقت ڪرڻ لڳي، جڏهن ظاهر ۾ مجبور ڪرڻ واري ڪا شيءِ ان جي سامهون موجود نه هجي.

باقي حيوانَ پنهنجي فطرت جي تحت حقيقت پسندي واري زندگي گذاري رهيا آهن. پر انسان کي جيڪا شيءِ حقيقت پسندي ۽ اعتراف جي سطح تي آڻيندي آهي، اِها خوف جي نفسيات آهي. حيوانن جي دنيا ۾ جيڪو ڪم فطرت ڪندي آهي، انسان جي دنيا ۾ اُهو ئي ڪم تقويٰ انجام ڏيندو آهي.

وَ لَقَدْ اَرْسَلْنَآ اِلٰٓى اُمَمٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَاَخَذْنٰهُمْ بِالْبَاْسَآءِ وَ الضَّرَّآءِ لَعَلَّهُمْ
يَتَضَرَّعُوْنَ ﴿٤٢﴾ فَلَوْ لَآ اِذْ جَآءَهُمْ بَاْسُنَا تَضَرَّعُوْا وَ لٰكِنْ قَسَتْ قُلُوْبُهُمْ وَ زَيَّنَ لَهُمُ
الشَّيْطٰنُ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٤٣﴾ فَلَمَّا نَسُوْا مَا ذُكِّرُوْا بِهٖ فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ اَبْوَابَ كُلِّ شَيْءٍ ۭ
حَتّٰٓى اِذَا فَرِحُوْا بِمَآ اُوْتُوْٓا اَخَذْنٰهُمْ بَغْتَةً فَاِذَا هُمْ مُّبْلِسُوْنَ ﴿٤٤﴾ فَقُطِعَ دَابِرُ الْقَوْمِ
الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ۭ وَ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٥﴾

۽ توکان اڳ ۾ ڪيترين ئي قومن ڏانهن اسان رسول موڪليا. پوءِ اسان انهن کي پڪڙيو سختين ۽ تڪليفن ۾، ته جيئن اهي عاجزي ڪن. پوءِ جڏهن اسان جي طرفان انهن تي سختي آئي ته ڇو نه انهن توبهه ۽ زاري ڪئي. بلڪ انهن جون دليون سخت ٿي ويون. ۽ شيطان سندن ڪيل عملن کي انهن لاءِ خوش نما ڪري ڏيکاريندو رهيو. پوءِ جڏهن انهن اُن نصيحت کي وساري ڇڏيو، جيڪا انهن کي ڪئي وئي هئي ته اسان مٿن هر شيءِ جا دروازا کولي ڇڏيا. ايستائين جو جڏهن اهي اُن شيءِ تي خوش ٿي ويا، جيڪا انهن کي ڏني وئي هئي ته اسان انهن کي اوچتو پڪڙيو. اُن وقت هو مايوس ٿي ويا. پوءِ انهن ماڻهن جي پاڙ پٽي وئي جن ظلم ڪيو هو ۽ سڀ تعريف الله جي لاءِ آهي، جيڪو سڀني جهانن جو رب آهي. ٤٢-٤٥

---

ماڻهوءَ جي سامهون حق اچي ٿو ۽ هو اُن کي نه ٿو مڃي ته الله اُن کي جلد نه ٿو پڪڙي، بلڪ اُن کي مالي نقصان ۽ جسماني تڪليف جي صورت ۾ ڪجھ جهٽڪا ڏيندو آهي، ته جيئن اُن جي سوچڻ جي صلاحيت بيدار ٿئي ۽ هو پنهنجي رويي جي باري ۾ نظرثاني ڪري. زندگيءَ جا حادثا رڳو حادثا نه آهن، بلڪ اُهي خدا جي طرفان موڪليل محسوس پيغام آهن جيڪي اُن لاءِ اچن ٿا ته غفلت ۾ سُتل ماڻهو کي سجاڳ ڪن، پر ماڻهو انهن شين مان نصيحت نه ٿو وٺي. هو اهو چئي پاڻ کي مطمئن ڪري ٿو وٺي ته اِهي

تہ زماني جا لاها چاڙها آهن ۽ اهڙي قسم جا لاها چاڙها زندگيءَ ۾ ايندا ئي رهندا آهن. اهڙي طرح هر موقعي تي شيطان کا وٽندڙ وجهہ پيش ڪري ماڻهو جي ذهن کي نصيحت جي بدران غفلت ڏانهن ڦيري ڇڏيندو آهي. ماڻهو جڏهن بار بار ائين ڪندو آهي تہ حق ۽ باطل ۽ صحيح ۽ غلط جي باري ۾ اُن جي دل جي حساسيت ختم ٿي ويندي آهي. اُهو سختي (بي حسيءَ) جو شڪار ٿي ويندو آهي.

جڏهن ماڻهو خدا جي طرفان آيل تنبيهہ کي نظر انداز ڪري ڇڏي تہ اُن کان پوءِ سندس باري ۾ خدا جو انداز بدلجي ٿو وڃي. هاڻي ان جي لاءِ خدا جو فيصلو اِهو هوندو آهي تہ ان تي آسانين ۽ ڪاميابين جا دروازا کوليا وڃن. ان تي خوشحاليءَ جي برسات ڪئي وڃي. ان جي عزت ۽ مقبوليت ۾ اضافو ڪيو وڃي. اِها حقيقت ۾ هڪ سزا آهي، جيڪا ان لاءِ هوندي آهي تہ ان جو اندر اجا وڌيڪ ظاهر ٿي وڃي. ان جو مقصد اهو هوندو آهي تہ ماڻهو مطمئن ٿي پنهنجي بي حسي کي اجا وڌائي. هو حق کي نظر انداز ڪرڻ ۾ اجا وڌيڪ سرڪش ٿي وڃي ۽ اهڙي طرح خدا جي سزا جو حقدار هجڻ ان تي پوري طرح ثابت ٿي وڃي. جڏهن اهو مقصد حاصل ٿي وڃي تہ ان کانپوءِ اوچتو ان جي مٿان خدا جو عذاب ٽٽي پوندو آهي. ان کي دنياوي زندگي کان محروم ڪري آخرت جي عدالت ۾ حاضر ڪيو ويندو آهي تہ جيئن ان جي سرڪشي جي سزا لاءِ ان جي لاءِ جهنم جو فيصلو ٿئي.

هِي دنيا خدا جي دنيا آهي. هتي هر قسم جي وڏائي ۽ تعريف جو حق رڳو هڪ ذات جي لاءِ آهي. ان ڪري جڏهن ڪو ماڻهو خدا جي طرفان آيل حق کي نظرانداز ڪري ٿو تہ هو اصل ۾ خدا جي ناقدري ڪندو آهي. هو خدا جي عظمت واري دنيا ۾ پنهنجي عظمت قائم ڪرڻ چاهي ٿو. هو اهڙو ظلم ڪندو آهي، جنهن کان وڌو ڪو ظلم نہ آهي. هو ان خدا جي سامهون اهڙي گستاخي ڪندو آهي، جنهن جي سامهون عاجزي کانسواءِ ٻيو ڪو رويو ڪنهن انسان جي لاءِ درست نہ آهي.

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَخَذَ اللّٰهُ سَمْعَكُمْ وَ اَبْصَارَكُمْ وَ خَتَمَ عَلٰى قُلُوْبِكُمْ مَّنْ اِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ
يَاْتِيْكُمْ بِهٖ ؕ اُنْظُرْ كَيْفَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ ثُمَّ هُمْ يَصْدِفُوْنَ ﴿٤٦﴾ قُلْ اَرَءَيْتَكُمْ اِنْ اَتٰىكُمْ
عَذَابُ اللّٰهِ بَغْتَةً اَوْ جَهْرَةً هَلْ يُهْلَكُ اِلَّا الْقَوْمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَ مَا نُرْسِلُ الْمُرْسَلِيْنَ
اِلَّا مُبَشِّرِيْنَ وَ مُنْذِرِيْنَ ۚ فَمَنْ اٰمَنَ وَ اَصْلَحَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٤٨﴾
وَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا يَمَسُّهُمُ الْعَذَابُ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿٤٩﴾ قُلْ لَّاۤ اَقُوْلُ لَكُمْ
عِنْدِيْ خَزَآئِنُ اللّٰهِ وَ لَاۤ اَعْلَمُ الْغَيْبَ وَ لَاۤ اَقُوْلُ لَكُمْ اِنِّيْ مَلَكٌ ۚ اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا يُوْحٰۤى
ع ٩ ١١ اِلَيَّ ؕ قُلْ هَلْ يَسْتَوِی الْاَعْمٰى وَ الْبَصِيْرُ ؕ اَفَلَا تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٥٠﴾

چئو، ٻڌايو تہ جيڪڏهن الله ڪسي وٺي اوهان جا ڪن ۽ اوهان جون اکيون ۽ اوهان جي دلين تي مهر هڻي ڇڏي تہ الله کانسواءِ ٻيو ڪهڙو معبود آهي جيڪو انهن کي واپس ورائي ڏي. ڏس تہ اسان ڪهڙي طرح پنهنجن نشانين کي ورائي ورائي بيان ڪريون ٿا. پوءِ بہ هو منهن موڙي وڃن ٿا. چئو، ڏسو تہ جيڪڏهن الله جو عذاب اوهان تي اوچتو يا ظاهر ظهور اچي وڃي تہ ظالمن کانسواءِ ٻيو ڪير هلاڪ ٿيندو. ۽ رسولن کي اسان رڳو خوشخبري

ڏيڻ وارو يا ڊيڄارڻ وارو ڪري موڪليندا آهيون. پوءِ جنهن ايمان آندو ۽ پنهنجي اصلاح ڪئي ته انهن جي لاءِ نه ڪو خوف آهي ۽ نه اهي غمگين ٿيندا. ۽ جن اسان جي نشانين کي ڪوڙو ڄاتو ته انهن کي سندن نافرماني سبب عذاب پڪڙي وٺندو. چؤ آئون اوهان کي اهو نه ٿو چوان ته مون وٽ الله جا خزانا آهن ۽ نه وري آئون غيب جو علم رکان ٿو ۽ نه وري آئون اوهان کي چوان ٿو ته آئون فرشتو آهيان. آئون ته فقط ان وحي جي پيروي ڪريان ٿو، جيڪا مون وٽ آئي آهي. چؤ ڇا انڌو ۽ اکين وارو، ٻئي برابر ٿي سگهن ٿا. پوءِ ڇا توهان غور نه ٿا ڪريو. ٤٦-٥٠

---

ماڻهوءَ کي ڪن، اک ۽ دل جهڙيون صلاحيتون ڏيڻ ظاهر ڪري ٿو ته ان جو خالق ان کان ڇا ٿو چاهي. خالق اِهو چاهي ٿو ته ماڻهو ڳالهه کي ٻڌي ۽ ڏسي، هو عقلي دليل سان ان کي مڃي وٺي. جيڪڏهن ماڻهو خدا جي ڏنل انهن صلاحيتن مان ڪم نه وٺي جيڪو ان کان گهربل آهي ته ڄڻ هو پاڻ کي ان خطري ۾ وجهي رهيو آهي ته ان کي نا اهل قرار ڏئي ڪري اِهي نعمتون ان کان کسي وٺجن. ڪيڏو نه محروم آهي اِهو ماڻهو جنهن کي انڌو، ٻوڙو ۽ بي عقل بڻائي ڇڏجي. ڇاڪاڻ ته اهڙو ماڻهو دنيا ۾ بلڪل ذليل ۽ بي قيمت ٿي رهجي ويندو آهي. پوءِ ان کان به وڌي محرومي اِها آهي ته ماڻهوءَ وٽ ظاهر ۾ ڪن هجن، پر اُهي حق کي ٻڌڻ جي لاءِ ٻوڙا ٿي وڃن. ظاهر ۾ اک هجي، پر اُها حق کي ڏسڻ کان انڌي هجي. سيني ۾ دل هجي، پر اُهو حق کي سمجهڻ جي صلاحيت کان خالي هجي. ڪسجڻ جو اهو قسم پهرئين قسم کان تمام وڌيڪ سنگين آهي. ڇاڪاڻ ته اُهو ماڻهو کي آخرت جي لحاظ کان ذليل ۽ بي قيمت بڻائي ٿو ڇڏي، جنهن کان وڌي محرومي ٻي ڪا به نه آهي.

ماڻهوءَ کي حق جي انڪار جي انجام کان ڊيڄاريو وڃي ته سرڪش ماڻهو بي خوفي سان جواب ڏيندو آهي. دنيا ۾ پنهنجن معاملن کي صحيح ڏسي ڪري هو سمجهي ٿو ته خدا جي پڪڙ جو انديشو سندس لاءِ نه آهي. جيڪي وڌيڪ سرڪش هوندا آهن، اُهي حق جي داعي کي چوندا آهن ته تون جيڪڏهن سچو آهين ته عذاب آڻي ڏيکار. اُهي نه ٿا سمجهن ته خدا جو عذاب جيڪڏهن آيو ته اِهو خود انهن مٿان پوندو، نه وري ڪنهن ٻئي جي مٿان.

الله جو داعي ڊيڄاريندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ بڻجي ايندو آهي. ٻين لفظن ۾ ماڻهوءَ جو امتحان خدا وٽ جنهن بنياد تي ٿي رهيو آهي، اُهو اِهو آهي ته ماڻهو آگاهه ڪرڻ واري زبان ۾ حق کي سڃاڻي ۽ پنهنجي اصلاح ڪري وٺي. جيڪڏهن هن خبردار ڪرڻ واري زبان ۾ حق کي نه سڃاتو ۽ ان کي مڃڻ جي لاءِ معجزن جو مطالبو ڪيو ته ڄڻ هو انڌي هئڻ جو ثبوت ڏئي رهيو آهي ۽ انڌن جي لاءِ خدا جي هن دنيا ۾ ٿاٻڙجڻ ۽ برباد ٿيڻ کانسواءِ ڪو انجام نه آهي.

وَ اَنْذِرْ بِهِ الَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ اَنْ يُّحْشَرُوْۤا اِلٰى رَبِّهِمْ لَيْسَ لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ وَلِيٌّ وَّ لَا
شَفِيْعٌ لَّعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿٥١﴾ وَ لَا تَطْرُدِ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَ الْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ
وَجْهَهٗ ؕ مَا عَلَيْكَ مِنْ حِسَابِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ وَّ مَا مِنْ حِسَابِكَ عَلَيْهِمْ مِّنْ شَيْءٍ
فَتَطْرُدَهُمْ فَتَكُوْنَ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥٢﴾ وَ كَذٰلِكَ فَتَنَّا بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لِّيَقُوْلُوْۤا اَهٰۤؤُلَآءِ

مَنَّ اللّٰهُ عَلَيۡهِمۡ مِّنۡۢ بَيۡنِنَا ؕ اَلَيۡسَ اللّٰهُ بِاَعۡلَمَ بِالشّٰكِرِيۡنَ ﴿۵۳﴾

۽ تون ان وحيءَ جي ذريعي ڊيڄار انهن ماڻهن کي جيڪي خوف رکندا آهن. ان ڳالھ جو تہ کين سندن رب وٽ جمع ڪيو ويندو، ان حال ۾ جو الله کانسواءِ نہ انهن جو ڪو حمايتي هوندو ۽ نہ سفارش ڪرڻ وارو، شايد اُهي الله کان ڊڄن. ۽ تون انهن ماڻهن کي پاڻ کان پري نہ ڪر جيڪي صبح ۽ شام پنهنجي رب کي پاڏائيندا آهن. سندس رضا جا طالب آهن. انهن جي حساب مان ڪنهن شيءِ جي توتي جوابداري نہ آهي ۽ تنهنجي حساب مان ڪنهن شيءِ جي جوابداري انهن تي نہ آهي. تو انهن کي پاڻ کان پري ڪيو تہ زيادتي ڪندڙن مان ٿي ويندين. ۽ اِهڙي طرح اسان منجهائن ڪن ماڻهن کي ڪن سان آزمائش ۾ وڌو آهي، تہ جيئن اُهي چون تہ ڇا هِي اُهي ماڻهو آهن جن تي اسان منجهان الله جو فضل ٿيو آهي. ڇا الله شڪر گذارن کان چڱي طرح واقف نہ آهي. ٥١-٥٣

---

نصيحت هميشہ انهن ماڻهن جي لاءِ فائديمند هوندي آهي جيڪي خوف جي نفسيات ۾ جيئندا هجن. جنهن کي ڪنهن شيءِ جو ڪتڪو لڳل هجي، ان کي ان جي خطري کان آگاھ ڪري سگھجي ٿو. ان جي ابتڙ جيڪي ماڻهو بي خوفيءَ جي نفسيات ۾ جي رهيا هجن، اُهي ڪڏهن بہ نصيحت جي باري ۾ سنجيده نہ هوندا آهن. ان ڪري اُهي نصيحت کي قبول ڪرڻ جي لاءِ بہ تيار نہ هوندا آهن.

بي خوفيءَ جي نفسيات پيدا ٿيڻ جو سبب عام طور تي ٻہ شيون هونديون آهن. هڪ دنيا پرستي، ٻي بزرگ پرستي. جيڪي ماڻهو دنيا جي شين ۾ گم هجن يا دنيا جي ڪا ڪاميابي حاصل ڪري ان تي مطمئن هجن، ايستائين جو انهن کي اِهو بہ ياد نہ رهندو هجي تہ هڪ ڏينهن انهن کي مري خالق ۽ مالڪ جي سامهون حاضر ٿيڻو آهي. اهڙا ماڻهو آخرت کي ڪا قابل لحاظ شيءِ نہ ٿا سمجهن. ان ڪري آخرت جو ياد ڏيارڻ انهن جي ذهن ۾ پنهنجي جاءِ نہ ٿو وٺي. انهن جو مزاج اهڙين ڳالهين کي غيراهم سمجهي نظر انداز ڪري ٿو ڇڏي.

ٻئي قسم جا ماڻهو اُهي آهن، جيڪي آخرت جي معاملي کي سفارش جو معاملو سمجهي وٺندا آهن. اُهي فرض ڪري ٿا وٺن تہ جن وڏن سان انهن پاڻ کي وابستہ ڪري رکيو آهي، اُهي آخرت ۾ انهن جا مددگار ۽ سفارشي بڻجي ويندا ۽ ڪنهن بہ نا مناسب صورتحال ۾ سندن طرفان ڪافي ثابت ٿيندا.

اهڙا ماڻهو ان ڀروسي تي جي رهيا هوندا آهن تہ انهن مقدس هستين جو دامن جهلي رکيو آهي. اُهي خدا جي محبوب ۽ مقبول گروھ ۾ شامل آهن، ان ڪري هاڻي انهن جو ڪو بہ معاملو بگڙڻ وارو نہ آهي. اِها نفسيات انهن کي آخرت جي باري ۾ بي خوف بڻائي ٿي ڇڏي. اُهي ڪنهن اهڙي ڳالھ تي سنجيدگي سان غور ڪرڻ جي لاءِ تيار نہ هوندا آهن، جيڪا آخرت ۾ انهن جي حيثيت کي مشڪوڪ ڪرڻ واري هجي.

جيڪي ماڻهو مصلحتن جي ڪري دولت ۽ مقبوليت جا مالڪ بڻيل هجن، اُهي ڪڏهن بہ حق جي خالص دعوت جو ساٿ نہ ڏيندا آهن. ڇاڪاڻ تہ حق جو ساٿ ڏيڻ انهن جي لاءِ اِها معنيٰ رکندو آهي تہ پنهنجن مصلحتن جي نهيل نڪيل ڍانچي کي ٽوڙيو وڃي. پوءِ جڏهن هو اهو ڏسن ٿا تہ حق جي چؤ طرف معمولي حيثيت جا ماڻهو جمع آهن تہ اِها صورتحال انهن جي لاءِ اڃا وڏيڪ فتنو بڻجي ويندي آهي. انهن کي محسوس ٿيندو آهي تہ انهن جو ساٿ ڏئي، اُهي پنهنجي حيثيت ڪيرائي ڇڏيندا. اهي حق کي

حق جي ڪسوٽي تي نہ ٿا ڏسن، بلڪ پنهنجي ڪسوٽيءَ تي ڏسندا آهن ۽ جڏهن حق انهن جي پنهنجي
ڪسوٽيءَ تي پورو نہ ٿو لهي تہ هو ان کي نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهن.

وَ اِذَا جَآءَكَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِنَا فَقُلْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ كَتَبَ رَبُّكُمْ عَلٰى نَفْسِهِ
الرَّحْمَةَ ۙ اَنَّهٗ مَنْ عَمِلَ مِنْكُمْ سُوْٓءًا بِجَهَالَةٍ ثُمَّ تَابَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَ اَصْلَحَ فَاَنَّهٗ غَفُوْرٌ
ع ١٢ رَّحِيْمٌ ﴿٥٤﴾ وَ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ وَ لِتَسْتَبِيْنَ سَبِيْلُ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٥٥﴾

۽ جڏهن تو وٽ اُهي ماڻهو اچن جن اسان جي آيتن تي ايمان آندو آهي تہ کين چؤ تہ توهان تي سلامتي هجي. توهان جي رب پاڻ تي رحمت کي لازم ڪري ڇڏيو آهي. بيشڪ اوهان مان ڪو جيڪڏهن ناداني سان بُرائي ڪري وجهي، اُن کان پوءِ توبهہ ڪري ۽ اصلاح ڪري وٺي تہ هو بخشڻ وارو مهربان آهي. ۽ اهڙي طرح اسان پنهنجون نشانيون کولي بيان ڪندا آهيون، تہ جيئن ڏوهارين جو طريقو پڌرو ٿي وڃي. ٥٤-٥٥

---

رسول اللهﷺ جي زماني ۾ هڪڙا ماڻهو اُهي هئا جيڪي پاڻﷺ جي صداقت تي معجزا طلب ڪندا رهيا. ٻيا ماڻهو اُهي هئا جيڪي قرآن جون آيتون ٻڌي پاڻﷺ جا مؤمن بڻجي ويا. اِهوئي امتحان هر زماني جي انسان لاءِ آهي. موجوده دنيا ۾ خدا سامهون نہ ٿو اچي، هو داعي جي زبان مان پنهنجن دليلن جو اعلان ڪرائي ٿو، هو پنهنجي صداقت کي لفظن جي روپ ۾ انسان جي سامهون آڻي ٿو. هاڻي جنهن جي فطرت زندهہ هوندي آهي، اهو انهن دليلن ۾ خدا جو جلوو ڏسي وٺندو آهي ۽ اُن جو اقرار ڪري اُن جي اڳيان جهڪي ويندو آهي. اُن جي ابتڙ جن پنهنجي فطرت تي مصنوعي پردا وجهي ڇڏيا هجن، اُهي "لفظن" جي روپ ۾ خدا کي پائڻ ۾ ناڪام رهندا آهن. اُهي خدا کي دليل واري صورت ۾ ڏسي نٿا سگهن، اُن ڪري چاهيندا آهن تہ خدا پنهنجي مشاهدي واري صورت ۾ انهن جي سامهون اچي. پر موجوده امتحان جي دنيا ۾ ايئن ٿيڻ ممڪن نہ آهي. هتي اُهو ئي ماڻهو خدا کي پائيندو جيڪو خدا کي غيب جي حالت ۾ پائي وٺي، جيڪو ماڻهو خدا کي مشاهدي جي حالت ۾ ڏسڻ تي اصرار ڪري تہ اُن جو انجام خدا جي هن دنيا ۾ محروميءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي.

جيڪي ماڻهو ضد جي ڪري حق کان پري رهندا آهن، اُهي حق کي قبول ڪرڻ وارن تي طرح طرح جا الزام لڳائيندا آهن، تہ جيئن انهن جي مقابلي ۾ پاڻ کي بهتر ثابت ڪري سگهن. انهن کي پنهنجا ڏوهہ نظر نٿا اچن، البت حق پرستن کان جيڪڏهن ڪا بہ غلطي ٿي وڃي تہ اُن کي وڌائي بيان ڪندا آهن، تہ جيئن اهو ظاهر ٿئي تہ جيڪي ماڻهو اُن دعوت تي جمع ٿيا آهن، اُهي اعتبار جوڳا ماڻهو نہ آهن. حالانڪ اصل صورتحال اُن جي اُبتڙ آهي. جن ماڻهن ناحق کي ڇڏي حق کي قبول ڪيو آهي، انهن پنهنجي اُن عمل سان ايمان ۽ اصلاح جي رستي تي هلڻ جو ثبوت ڏنو آهي. اهڙي طرح اُهي خدا جي قانون جي مطابق اُن جا مستحق ٿي ويا جو انهن کي اصلاح جي توفيق ملي ۽ اُهي خدا جي رحمتن مان پنهنجو حصو حاصل ڪن. اُن جي ابتڙ جيڪي ماڻهو حق کان پري آهن، اُهي پنهنجي عمل سان ثابت ڪري رهيا آهن تہ اُهي ايمان ۽ اصلاح جو طريقو اختيار ڪرڻ ۾ ڪا دلچسپي نٿا رکن. اهڙا ماڻهو خدا جي توفيق کان محروم رهندا آهن. انهن جي سرڪشي ڪڏهن ختم نٿي ٿئي ۽ سرڪشي ئي خدا جي هن

دنيا ۾ ڪنهن جو سڀ کان وڏو جرم آهي.

خدا ”نشانين“ جي زبان ۾ ڳالهائيندو آهي. نشانيون اُن ماڻهو جي لاءِ ڪار آمد هونديون آهن جيڪو انهن کي پڙهڻ چاهي. اهڙي طرح هدايت اُن ئي کي ملندي جيڪو اُن کي طلبي. جيڪو ماڻهو هدايت جي طلب نہ رکندو هجي، اُن جي لاءِ خدا جي هن دنيا ۾ ڀٽڪڻ کان سواءِ ٻيو ڪو انجام نہ آهي.

قُلْ اِنِّيْ نُهِيْتُ اَنْ اَعْبُدَ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ قُلْ لَّاۤ اَتَّبِعُ اَهْوَآءَكُمْ ۙ قَدْ
ضَلَلْتُ اِذًا وَّ مَاۤ اَنَا مِنَ الْمُهْتَدِيْنَ ۝٥٦ قُلْ اِنِّيْ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَ كَذَّبْتُمْ بِهٖ ؕ مَا
عِنْدِيْ مَا تَسْتَعْجِلُوْنَ بِهٖ ؕ اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ يَقُصُّ الْحَقَّ وَ هُوَ خَيْرُ الْفٰصِلِيْنَ ۝٥٧
قُلْ لَّوْ اَنَّ عِنْدِيْ مَا تَسْتَعْجِلُوْنَ بِهٖ لَقُضِيَ الْاَمْرُ بَيْنِيْ وَ بَيْنَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ اَعْلَمُ
بِالظّٰلِمِيْنَ ۝٥٨ وَ عِنْدَهٗ مَفَاتِحُ الْغَيْبِ لَا يَعْلَمُهَاۤ اِلَّا هُوَ ؕ وَ يَعْلَمُ مَا فِي الْبَرِّ وَ الْبَحْرِ ؕ وَ
مَا تَسْقُطُ مِنْ وَّرَقَةٍ اِلَّا يَعْلَمُهَا وَ لَا حَبَّةٍ فِيْ ظُلُمٰتِ الْاَرْضِ وَ لَا رَطْبٍ وَّ لَا يَابِسٍ اِلَّا فِيْ
كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ۝٥٩

چؤ مون کي منع ڪيو ويو آهي تہ آئون انهن جي عبادت ڪريان جن کي اوهان الله کان سواءِ پڪاريو ٿا. چؤ. آئون اوهان جي خواهشن جي پيروي نہ ٿو ڪري سگهان. جيڪڏهن مون ائين ڪيو تہ آئون گمراھ ٿي ويندس ۽ هدايت وارن مان نہ رهندس. چؤ. آئون پنهنجي رب جي طرفان هڪ روشن دليل تي آهيان ۽ اوهان اُن کي ڪوڙو سمجهيو آهي. اُها شيءِ مون وٽ نہ آهي، جنهن لاءِ اوهان جلدي ڪري رهيا آهيو. فيصلي جو اختيار رڳو الله کي آهي. اُهو ئي حق کي بيان ڪري ٿو. ۽ اُهوئي بهترين فيصلو ڪندڙ آهي. چؤ جيڪڏهن اُها شيءِ مون وٽ هُجي ها، جنهن جي لاءِ اوهان جلدي ڪري رهيا آهيو تہ منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ فيصلو ٿي چڪو هجي ها ۽ الله ظالمن کي خوب ڄاڻي ٿو. ۽ اُن وٽ ئي غيب جون ڪنجيون آهن. ان کان سواءِ اُن کي ٻيو ڪو بہ نہ ٿو ڄاڻي. الله ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجھ خشڪي ۾ ۽ سمنڊ ۾ آهي. (۽ وڻن) مان ڪرندڙ ڪو پَن اهڙو نہ آهي جنهن جي ڄاڻ کيس نہ هجي ۽ زمين جي اونداهين ۾ ڪو داڻو نہ ٿو ڪري ۽ نہ ڪا اهڙي آلي ۽ نہ سڪي شيءِ، پر سڀئي هڪ پڌري ڪتاب ۾ لکيل آهن. ٥٦-٥٩

---

خدا کان سواءِ جنهن شيءِ کي ماڻهو معبود جو درجو ڏيندو آهي، اُها اُن جي هڪڙي خواهش هوندي آهي، جنهن کي هو حقيقت فرض ڪري ٿو وٺي. ڪڏهن پنهنجي بي عملي جي انجام کان بچڻ جي لاءِ هو ڪنهن کي خدا جو خاص ۽ ويجهو مڃي وٺندو آهي. جيڪو خدا وٽ اُن جو مددگار ۽ سفارشي بڻجي وڃي. ڪڏهن هو هڪ ماڻهو جي حق ۾ طلسماتي عظمت جو تصور قائم ڪري وٺندو آهي، تہ جيئن پاڻ کي اُن سان منسوب ڪري پنهنجن گهٽتائين جي تلافي ڪري سگهي. ڪڏهن پنهنجي ڪاهلي ۽ آرام طلبي جي ڪري اهڙو خدا گهڙي وٺندو آهي، جيڪو معمولي قيمت تي ملي وڃي ۽ معمولي شين سان جنهن کي خوش ڪري سگهجي.

پر اهڙي قسم جون سڀ شيون رڳو قياس آهن ۽ قياس ڪنهن کي حقيقت تائين نہ ٿو پهچائي

سگهي. پوءِ بہ ماڻهو پنهنجي سستي طلب ۾ ڪڏهن اهڙو انڌو ٿي ويندو آهي جو هو خود انهن ماڻهن کي چئلينج ڪرڻ لڳندو آهي جيڪي ڪائنات جي حقيقي مالڪ جي طرف بيٺل آهن. هو چوندو آهي تہ سچي وڏائي جيڪڏهن اُن هڪ خدا جي لاءِ آهي، جنهن جا توهين نمائندا آهيو تہ اسان جهڙن نافرمانن تي عذاب نازل ڪري ڏيکاريو. اِها جرائت انهن کي اُن ڪري ٿيندي آهي جو اُهي ڏسن ٿا تہ توحيد جي داعين جي مقابلي ۾ اُنهن وٽ وڌيڪ دنياوي رونقون جمع آهن. انهن کي وسري ٿو وڃي تہ اهي مادي شيون انهن کي دنياداريءَ ۽ مصلحت پرستي جي ڪري مليون آهن ۽ توحيد جا داعي جيڪي انهن شين کان خالي آهن. اُهي اُن ڪري خالي آهن جو انهن جي آخرت پسندي انهن کي مصلحت پسندي جي سطح تي اچڻ کان روڪي رکيو.

موجوده دنيا امتحان جي دنيا آهي. اُن ڪري هتي ڏسڻ جي شيءِ اِها نہ آهي تہ ماڻهوءَ جون مالي حالتون ڪهڙيون آهن، بلڪ ڏسڻو اهو آهي تہ هو حقيقي دليلن تي بيٺو آهي يا قياس ۽ خوش گمانين تي. آخر ۾ اُهو ئي ماڻهو ڪامياب ٿيندو، جيڪو دليل تي بيٺل هجي. جيڪي ماڻهو قياس تي بيٺل آهن، انهن جو آخري انجام اُن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي تہ اُهي خدا جي هِن دنيا ۾ بلڪل بي سهارا رهجي وڃن. جنهن دنيا جو سڄو نظام محڪم قانونن تي هلي رهيو هجي، اُن جو آخري انجام خوش خيالين جي تابع ڪيئن ٿي ويندو.

وَ هُوَ الَّذِیۡ یَتَوَفّٰىكُمۡ بِالَّیۡلِ وَ یَعۡلَمُ مَا جَرَحۡتُمۡ بِالنَّهَارِ ثُمَّ یَبۡعَثُكُمۡ فِیۡهِ لِیُقۡضٰۤى
١٣ ع اَجَلٌ مُّسَمًّى ۚ ثُمَّ اِلَیۡهِ مَرۡجِعُكُمۡ ثُمَّ یُنَبِّئُكُمۡ بِمَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿٦٠﴾ وَ هُوَ الۡقَاهِرُ
فَوۡقَ عِبَادِهٖ وَ یُرۡسِلُ عَلَیۡكُمۡ حَفَظَةً ؕ حَتّٰۤى اِذَا جَآءَ اَحَدَكُمُ الۡمَوۡتُ تَوَفَّتۡهُ رُسُلُنَا وَ
هُمۡ لَا یُفَرِّطُوۡنَ ﴿٦١﴾ ثُمَّ رُدُّوۡۤا اِلَى اللّٰهِ مَوۡلٰىهُمُ الۡحَقِّ ؕ اَلَا لَهُ الۡحُكۡمُ ۟ وَ هُوَ اَسۡرَعُ
الۡحٰسِبِیۡنَ ﴿٦٢﴾

اُهوئي آهي جيڪو رات ۾ اوهان کي وفات ڏئي ٿو ۽ ڏينهن جو جيڪو ڪجهہ اوهان ڪريو ٿا ان کي ڄاڻي ٿو. پوءِ وري اوهان کي اُن مان اٿاري ٿو تہ جيئن مقرر مدت پوري ٿي وڃي. پوءِ وري اُن ڏانهن اوهان جي واپسي آهي. پوءِ هو توهان جي ڪيل عملن جي خبر توهان کي ڏيندو. اُهو غالب آهي پنهنجي ٻانهن مٿان ۽ هو اوهان تي نگهبان موڪلي ٿو، ايستائين جو جڏهن اوهان مان ڪنهن جي موت جو وقت اچي ٿو تہ اسان جا موڪليل فرشتا ان جو روح قبض ڪري وٺن ٿا ۽ اُهي ڪابہ ڪوتاهي نہ ٿا ڪن. پوءِ سڀ پنهنجي حقيقي مالڪ الله ڏانهن واپس موٽايا ويندا. ٻڌي وٺو، حڪم ان جو ئي آهي ۽ اُهو نهايت جلد حساب وٺڻ وارو آهي. ٦٠-٦٢

---

خدا هيءَ دنيا اِهڙي طرح ٺاهي آهي جو اِها انهن حقيقتن جي عملي تصديق بڻجي وئي آهي جن ڏانهن انسان کي دعوت ڏني پئي وڃي. جيڪڏهن ماڻهو پنهنجن اکين کي بند نہ ڪري ۽ پنهنجي عقل تي مصنوعي پردا نہ وجهي تہ پوري ڪائنات ان کي قرآن جي فڪري دعوت جو عملي اظهار ڏسڻ ۾ ايندي.

وڻ جي ٽڙ مان ٽاري نڪرندي آهي ۽ ٽاريءَ مان پن، پر ٻنهي جي جوڙن ۾ فرق هوندو آهي، جڻ تہ ٿاهڻ واري کي خبر هئي تہ ٽاريءَ کي پنهنجي ٽڙ سان جڙيل رهڻو آهي ۽ پن کي الڳ ٿي ڪِري پوڻو

آهي. جيڪڏهن تاريءَ جي پاڙ جي مقابلي ۾ پن جي پاڙ ۾ اِها انفرادي خاصيت نہ هجي تہ پن تاري ڪان جدا نہ ٿيندو تہ وڻ ڪي هر سال نئين زندگي ڏيڻ وارو نظام تباھ ٿي ويندو. اِهڙي طرح جڏهن هڪ داڻو زمين ۾ وڌو ويندو آهي تہ زمين ۾ اڳواٽ ئي ان جي لاءِ اها ضروري خوراڪ موجود هوندي آهي، جنهن سان رزق حاصل ڪري اهو وڌندو آهي ۽ آخر پورو وڻ بڻجي ٿو. هاڻي ڪيئن ممڪن آهي تہ جيڪو خدا پن ۽ داڻي تائين جي احوال کان باخبر آهي، اهو انسان جي احوال کان بي خبر هوندو. (٥٩)

اسان جي زمين سڄي ڪائنات ۾ هڪ عجب ۾ وجھندڙ واقعو آهي، جنهن جو نظام سيني ڪان الڳ انسان جهڙي هڪ مخلوق جي حال مطابق بڻايو ويو آهي. زمين جي اندر جو هڪ وڏو حصو باھ آهي، پر اُهو ڦاٽي نہ ٿو. سج انتهائي صحيح فاصلي تي آهي، هُو ان کان نہ پري ٿيندو آهي ۽ نہ ويجهو ٿيندو آهي. ماڻهوءَ کي هر وقت هوا ۽ پاڻيءَ جي ضرورت آهي. تنهن ڪري هوا کي گيس جي شڪل ۾ هر جڳهہ ڦهلائي ڇڏيو آهي ۽ پاڻي کي پٽڙي صورت ڏئي زمين جي هيٺان رکيو ويو آهي. اهڙي قسم جا بيشمار انتظام آهن، جن کي زمين تي لڳاتار برقرار رکيو ويندو آهي. جيڪڏهن انهن ۾ معمولي فرق بہ اچي وڃي تہ انسان جي لاءِ زمين تي زندگي گذارڻ ناممڪن ٿي وڃي.

ننڊ وڏي عجيب شيءِ آهي. ماڻهو هلندو ڦرندو آهي. هو ڏسندو ۽ ڳالهائيندو آهي. پر جڏهن هو سمهي ٿو تہ ان جا سڀ حواس اهڙي طرح معطل ٿي ويندا آهن، جيئن ان مان زندگي نڪري ويئي هجي. ان ڪانپوءِ جڏهن هو ننڊ پوري ڪري اٿندو آهي تہ اهو وري اهڙو ئي انسان هوندو آهي، جهڙو هو پهرين هو. اهو ڄڻ تہ زندگي ۽ موت جو مثال آهي. اهو معاملو اسان جي لاءِ ان ڳالهہ کي سمجھ جوڳو بڻائي ڇڏي ٿو تہ ماڻهو ڪهڙي طرح مرندو ۽ ڪهڙي طرح ٻيهر زندھ ٿيندو. اِهي واقعا ثابت ڪن ٿا تہ سڀ انسان خدا جي اختيار ۾ آهن ۽ جلد اُهو وقت اچڻ وارو آهي، جڏهن خدا پنهنجي اختيار مطابق انهن جو فيصلو ڪندو.

قُلۡ مَنۡ يُّنَجِّيۡكُمۡ مِّنۡ ظُلُمٰتِ الۡبَرِّ وَ الۡبَحۡرِ تَدۡعُوۡنَهٗ تَضَرُّعًا وَّ خُفۡيَةً‌ ۚ لَئِنۡ اَنۡجٰنَا
مِنۡ هٰذِهٖ لَنَكُوۡنَنَّ مِنَ الشّٰكِرِيۡنَ ﴿٦٣﴾ قُلِ اللّٰهُ يُنَجِّيۡكُمۡ مِّنۡهَا وَمِنۡ كُلِّ كَرۡبٍ ثُمَّ اَنۡتُمۡ
تُشۡرِكُوۡنَ ﴿٦٤﴾ قُلۡ هُوَ الۡقَادِرُ عَلٰٓى اَنۡ يَّبۡعَثَ عَلَيۡكُمۡ عَذَابًا مِّنۡ فَوۡقِكُمۡ اَوۡ مِنۡ تَحۡتِ
اَرۡجُلِكُمۡ اَوۡ يَلۡبِسَكُمۡ شِيَعًا وَّيُذِيۡقَ بَعۡضَكُمۡ بَاۡسَ بَعۡضٍ‌ ؕ اُنۡظُرۡ كَيۡفَ نُصَرِّفُ الۡاٰيٰتِ
لَعَلَّهُمۡ يَفۡقَهُوۡنَ ﴿٦٥﴾ وَكَذَّبَ بِهٖ قَوۡمُكَ وَهُوَ الۡحَـقُّ‌ ؕ قُلْ لَّسۡتُ عَلَيۡكُمۡ بِوَكِيۡلٍؕ ﴿٦٦﴾ لِكُلِّ
نَبَاٍ مُّسۡتَقَرٌّ‌ ۚ وَّسَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ ﴿٦٧﴾

چئو ڪير اوهان کي نجات ڏيندو آهي بيابانن ۽ سمنڊ جي اونداهين مان. اوهان ان کي پڪاريو ٿا عاجزي سان ۽ دل ئي دل ۾، جيڪڏهن الله اسان کي ان مصيبت کان نجات ڏئي ڇڏي تہ اسان شڪرگذار ٻانهن مان ٿي وينداسون. چئو، الله ئي اوهان کي نجات ڏيندو آهي اُن کان ۽ هر تڪليف کان، پوءِ بہ اوهان شرڪ ڪرڻ لڳندا آهيو. چئو تہ الله ان تي قادر آهي تہ اوهان جي مٿان يا اوهان جي پيرن جي هيٺان عذاب موڪلي يا اوهان کي ٽولا ٽولا

ڪري هڪٻئي جي طاقت جو مزو چکائي. ڏس ته اسين ڪيئن دليلن کي ورائي ورائي بيان ڪريون ٿا ته جيئن اُهي سمجهن. ۽ تنهنجي قوم اُن کي ڪوڙو ڀانئيو آهي، حالانڪ اُهو حق آهي. چؤ. آئون اوهان تي نگهبان نه آهيان. هر خبر جي لاءِ هڪ وقت مقرر آهي، اوهان جلد ئي ڄاڻي وٺندؤ. ٦٣-٦٧

---

انسان کي هن دنيا ۾ جيتريون مصيبتون پيش اينديون آهن، اوتريون ڪنهن به ٻئي جاندار کي پيش نه ٿيون اچن. ايئن ان ڪري ٿيندو آهي ته جيئن ماڻهو تي اِهڙيون حالتون طاري ڪيون وڃن، جيئن ان جي اندر مان سڀ مصنوعي خيال ختم ٿي وڃن ۽ ماڻهو پنهنجي اصلي فطرت کي ڏسي سگهي. جڏهن به ماڻهوءَ تي ڪا سخت مصيبت ايندي آهي ته هو هڪ طرفو ٿي ڪري خدا کي پڪارڻ لڳندو آهي. ان وقت ان جي ذهن مان سڀ خيالي پردا هٽي وڃن ٿا. هو ڄاڻي ٿو وٺي ته هِن دنيا ۾ انسان مڪمل عاجز آهي ۽ سڄي قدرت رڳو خدا کي آهي. پر جيئن ئي مصيبت واريون حالتون ختم ٿينديون آهن ته هو وري غفلت جو شڪار ٿي ڪري اِهڙوئي بڻجي ويندو آهي، جهڙو هو پهرين هو.

شرڪ جي اصل حقيقت الله ڪانسواءِ ڪنهن ٻي شيءِ تي اعتماد ڪرڻ آهي ۽ توحيد اِها آهي ته ماڻهوءَ جو سڄو اعتماد الله تي هجي. شرڪ جي هڪ صورت اِها آهي جيڪا بتن ۽ ٻين پوڄا وارين شين ۾ پيش ايندي آهي. پر شڪر جي بجاءِ ناشڪريءَ جو رويو اختيار ڪرڻ به شرڪ آهي. شرڪ جي عام صورت اِها آهي ته ماڻهو خود کي بت بڻائي وٺي، هو خود تي اعتماد ڪرڻ لڳي. ماڻهو جڏهن آڪڙجي هلندو آهي ته ڄڻ هو پنهنجي جسم ۽ جان تي اعتماد ڪري رهيو آهي. ماڻهو جڏهن پنهنجي ڪمائيءَ کي پنهنجي ڪمائي سمجهي ٿو ته ڄڻ هو پنهنجي قابليت تي ڀروسو ڪري رهيو آهي. ماڻهو جڏهن حق کي نظر انداز ڪندو آهي ته ڄڻ هو سمجهي ٿو ته آئون جيئن به ڪريان ڪو به منهنجو ڪجھ به بگاڙي نه ٿو سگهي. ماڻهو جڏهن ڪنهن تي ظلم ڪرڻ ۾ بيخوف ٿي ويندو آهي ته ان وقت ان جي نفسيات اِها هوندي آهي ته مون کي ان تي اختيار آهي ۽ ان ماڻهو جي معاملي ۾ مون کي پنهنجي من ماني ڪرڻ کان ڪير به روڪڻ وارو نه آهي. اهي سڀئي صورتون تڪبر جون صورتون آهن ۽ تڪبر خدا وٽ سڀني کان وڏو شرڪ آهي. ڇاڪاڻ ته اِهو خود کي خدا جو مقام ڏيڻ آهي.

ماڻهو جيڪڏهن پنهنجي حالت تي سوچي ته ڪڏهن به تڪبر نه ڪري. هو اهڙين هوائن ۾ گهيريل رهي ٿو جيڪي ڪنهن به وقت طوفاني صورت اختيار ڪري سندس زندگيءَ کي تباهه ۽ برباد ڪري سگهن ٿيون. هو اهڙي زمين تي بيٺو آهي جيڪا ڪنهن به وقت زلزلي جي صورت ۾ ڦاٽي سگهي ٿي. هو جنهن سماج ۾ رهي ٿو ان ۾ هر وقت ايتريون دشمنيون موجود هونديون آهن جو هڪ چڻنگ به سڄي سماج کي خاڪ ڪرڻ جي لاءِ ڪافي آهي.

وَ اِذَا رَاَيۡتَ الَّذِيۡنَ يَخُوۡضُوۡنَ فِيۡۤ اٰيٰتِنَا فَاَعۡرِضۡ عَنۡهُمۡ حَتّٰى يَخُوۡضُوۡا فِيۡ حَدِيۡثٍ
غَيۡرِهٖ ؕ وَ اِمَّا يُنۡسِيَنَّكَ الشَّيۡطٰنُ فَلَا تَقۡعُدۡ بَعۡدَ الذِّكۡرٰى مَعَ الۡقَوۡمِ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۶۸﴾ وَ مَا
عَلَى الَّذِيۡنَ يَتَّقُوۡنَ مِنۡ حِسَابِهِمۡ مِّنۡ شَىۡءٍ وَّ لٰكِنۡ ذِكۡرٰى لَعَلَّهُمۡ يَتَّقُوۡنَ ﴿۶۹﴾ وَ ذَرِ

الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا دِيْنَهُمْ لَعِبًا وَّ لَهْوًا وَّ غَرَّتْهُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا وَ ذَكِّرْ بِهٖٓ اَنْ تُبْسَلَ
نَفْسٌۢ بِمَا كَسَبَتْ ۖۗ لَيْسَ لَهَا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلِيٌّ وَّ لَا شَفِيْعٌ ۚ وَ اِنْ تَعْدِلْ كُلَّ عَدْلٍ لَّا
يُؤْخَذْ مِنْهَا ؕ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اُبْسِلُوْا بِمَا كَسَبُوْا ۚ لَهُمْ شَرَابٌ مِّنْ حَمِيْمٍ وَّ عَذَابٌ
ع ٨ ١٠ ١٤ اَلِيْمٌۢ بِمَا كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ ﴿٧٠﴾ ع

۽ جڏهن تون انهن ماڻهن کي ڏسين جيڪي اسان جي آيتن ۾ عيب ڪيندا آهن ته انهن کان الڳ ٿي وڃ، جيستائين هو ڪنهن ٻي ڳالهه ۾ لڳي وڃن. ۽ جيڪڏهن شيطان توکان وساري ڇڏي ته ياد اچڻ ڪانپوءِ اهڙن بي انصاف ماڻهن سان گڏ نه ويهه. ۽ جيڪي ماڻهو الله کان ڊڄندا آهن، انهن تي انهن (ظالمن) جي حساب مان ڪنهن به شيءِ جي جوابداري نه آهي. البت نصيحت ڪرڻ آهي ته من اُهي به ڊڄن. انهن ماڻهن کي ڇڏي ڏي جن پنهنجي دين کي کيل تماشو بڻائي رکيو آهي ۽ جن کي دنيا جي زندگي دوکي ۾ وڌو آهي. ۽ قرآن جي ذريعي نصيحت ڪندو رهه، ته جيئن ڪو ماڻهو پنهنجي ڪِيئي جي ڪري گرفتار نه ٿي وڃي. ان حال ۾ ته ان جي لاءِ الله کان سواءِ بچائڻ وارو نه ڪو مددگار هجي ۽ نه سفارشي. جيڪڏهن هو دنيا ۾ جيڪو ڪجهه آهي سمورو عيوض ۾ ڏي تڏهن به اُهو قبول نه ڪيو ويندو. اِهي ئي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي ڪيل ڪرتوتن جي ڪري گرفتار ٿي ويا. سندن پيئڻ لاءِ ٽهڪندڙ پاڻي هوندو ۽ دردناڪ سزا هوندي، اُن ڪري جو اُهي ڪفر ڪندا هئا. ٦٨-٧٠

---

عبدالله بن عباس رضي الله عنه فرمايو ته الله هر امت جي لاءِ هڪ عيد جو ڏينهن مقرر ڪيو، ته جيئن هو اُن ڏينهن الله جي وڏائي بيان ڪن ۽ ان جي عبادت ڪن ۽ الله جي ياد ۾ اُهو ڏينهن گذارين. پر بعد ۾ اچڻ وارن ماڻهن پنهنجي عيد (مذهبي ڏينهن) کي کيل تماشو بڻائي ورتو. (تفسير ڪبير)

هر ديني عمل جو هڪ مقصد هوندو آهي ۽ هڪ ان جو ظاهري پهلو هوندو آهي. عيد جو مقصد الله جي وڏائي ۽ ان جي ياد جو اجتماعي اظهار آهي. پر عيد جي ادائگيءَ جا ڪجهه ظاهري پهلو به آهن. مثلاً ڪپڙا پائڻ يا اجتماع جي تياري ڪرڻ وغيره. هاڻي عيد کي کيل تماشو بنائڻ اِهو آهي ته ان جي اصل مقصد تي توجهه نه ڏني وڃي، البت ان جي ظاهري ۽ مادي پهلو جي خوب ڌوم مچائي وڃي. مثلاً ڪپڙن ۽ شين جي نمائش، خريد ۽ فروخت جا هنگاما، تفريح جو اهتمام، پنهنجي حيثيت ۽ شان ۽ شوڪت جا مظاهرا وغيره.

امتن جي بگاڙ جي زماني ۾ اهو ساڳيو معاملو سيني ديني عملن سان به پيش ايندو آهي. ماڻهو ديني عمل جي اصل حقيقت کي ڇڏي ان جي ظاهري پهلو کي اپنائي ڇڏيندا آهن. جيڪي ماڻهو ان حد کي پهچي وڃن، جو هو دين جي مقصد واري پهلو کي وساري ان کي پنهنجي دنياوي تماشن جي لاءِ استعمال ڪن، اُهي پنهنجي اُن عمل سان ثابت ڪري رهيا آهن ته اُهي دين جي معاملي ۾ سنجيده نه آهن ۽ جيڪي ماڻهو ڪنهن معاملي ۾ سنجيده نه هجن، انهن کي ان معاملي جي ڪا اهڙي ڳالهه سمجهائي نه ٿي سگهجي، جيڪا انهن جي مزاج جي خلاف هجي. وڌيڪ اهو ته مادي شين جو مالڪ هجڻ انهن کي اُن غلط فهمي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي ته سچائي جا مالڪ به اُهي ئي آهن. اُهي ڏسندا آهن ته هِتي انهن جون ضرورتون فرواني سان پوريون ٿي رهيون آهن. هر جڳهه اُهي محفل جي رونق بڻيل آهن. انهن جي

زندگي ۾ ڪتي بہ ڪا رڪاوٽ نہ آهي. ان ڪري اُهي سمجهي ٿا ونن تہ آخرت ۾ بہ اُهي ئي ڪامياب رهندا. اِهڙا ماڻهو پنهنجي نفسيات جي ڪري آخرت جي ڳالهين جي باري ۾ سنجيده نہ ٿيندا آهن. پر اُهي ڄاڻي ونن تہ اُهي جيڪو ڪجهہ ڪري رهيا آهن، اُهو ايئن ئي ختم ٿي وڃڻ وارو نہ آهي. انهن جو عمل انهن کي گهيري ۾ وٺي رهيو آهي. جلد ئي اُهي پنهنجي سرڪشي ۾ ڦاسي ويندا ۽ ڪنهن بہ حال ۾ ان مان ڇوٽڪارو حاصل نہ ڪري سگهندا.

قُلْ اَنَدْعُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنْفَعُنَا وَ لَا يَضُرُّنَا وَ نُرَدُّ عَلٰۤى اَعْقَابِنَا بَعْدَ اِذْ هَدٰىنَا اللّٰهُ كَالَّذِى اسْتَهْوَتْهُ الشَّيٰطِيْنُ فِى الْاَرْضِ حَيْرَانَ ۪ لَهٗۤ اَصْحٰبٌ يَّدْعُوْنَهٗۤ اِلَى الْهُدَى ائْتِنَا ؕ قُلْ اِنَّ هُدَى اللّٰهِ هُوَ الْهُدٰى ؕ وَ اُمِرْنَا لِنُسْلِمَ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٧١﴾ وَ اَنْ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اتَّقُوْهُ ؕ وَ هُوَ الَّذِىْۤ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٧٢﴾ وَ هُوَ الَّذِىْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ بِالْحَقِّ ؕ وَ يَوْمَ يَقُوْلُ كُنْ فَيَكُوْنُ ۬ قَوْلُهُ الْحَقُّ ؕ وَ لَهُ الْمُلْكُ يَوْمَ يُنْفَخُ فِى الصُّوْرِ ؕ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَ الشَّهَادَةِ ؕ وَ هُوَ الْحَكِيْمُ الْخَبِيْرُ ﴿٧٣﴾

چؤ، ڇا اسان الله کي ڇڏي انهن کي پڪاريون جيڪي اسان کي نہ نفعو ڏئي سگهن ٿا ۽ نہ اسان کي نقصان پهچائي سگهن ٿا. ۽ ڇا اسان وري پوئين پير ڦري وڃون، ان ڪانپوءِ جو الله اسان کي سڌي راهہ ڏيکاري چڪو آهي. ان ماڻهو وانگر جنهن کي شيطانن بيابانن ۾ ڀٽڪائي ڇڏيو هجي ۽ اُهو حيران ڦري رهيو هجي، ان جا ساٿي ان کي سڌي رستي ڏانهن سڏي رهيا هجن تہ اسان ڏانهن اچ. چؤ تہ رهنمائي تہ رڳو الله جي ئي رهنمائي آهي ۽ اسان کي حڪم مليو آهي تہ اسان پنهنجي پاڻ کي جهانن جي رب جي حوالي ڪري ڇڏيون. ۽ هي پڻ تہ نماز قائم ڪريو ۽ الله کان ڊڄو ۽ اهوئي آهي جنهن ڏانهن اوهان سڀ گڏ ڪيا ويندؤ. ۽ اُهو ئي آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي برحق خلقيو آهي ۽ جنهن ڏينهن هو حڪم ڪندو تہ ٿي پؤ تہ ٿي پوندو. سندس ڳالهہ حق آهي ۽ سندس ئي حڪومت هوندي جنهن ڏينهن صور ڦوڪيو ويندو. هو ڳجهہ ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ آهي ۽ هو ڪمال حڪمت وارو آهي ۽ باخبر آهي. ٧١- ٧٣

---

جيڪي ماڻهو خدا کان سواءِ ٻين سهارن تي پنهنجي زندگي قائم ڪن، انهن جو مثال اُن مسافر جهڙو هوندو آهي جيڪو بي نشان رڻ ۾ ڀٽڪي رهيو هجي. رڻ ۾ ڀٽڪڻ وارو مسافر فوراً سمجهي وٺندو آهي تہ هو پنهنجو رستو وڃائي ويٺو آهي. رستو ڏسندي ئي هو اُن ڏانهن ڊوڙي پوندو آهي. پر جيڪي ماڻهو خدا کان سواءِ ٻين سهارن تي جيئندا آهن. انهن کي پنهنجي بي راهہ هئڻ جي خبر نہ هوندي آهي. انهن جي آس پاس پڪارڻ وارا پڪاريندا آهن تہ اصل رستو هي آهي هيڏانهن اچي وڃ، پر اهي اهڙي قسم جي آوازن تي ڌيان نٿا ڏين. هن فرق جو سبب اهو آهي تہ پهرين معاملي ۾ ماڻهو جو عقل ڪليل هوندو آهي. صحيح رستي کي ڏسڻ ۾ اُن جي لاءِ ڪا بہ رڪاوٽ نہ هوندي آهي. جڏهن تہ ٻي صورت ۾ ماڻهوءَ جو عقل شيطان جي اثر هيٺ اچي ويندو آهي. اُن جي سوچ پنهنجي فطري ڍنگ تي ڪم نٿي ڪري. اُن جو نتيجو اِهو نڪرندو آهي جو هو ٻڌندي بہ نہ ٻڌندو آهي ۽ ڏسندي بہ نہ ڏسندو آهي.

خدا ڪانسواءِ ٻين شين جو طالب ٿيڻ اهڙين شين جو طالب بڻجڻ آهي جيڪي هِن دنيا ۾ فائدو ۽

نقصان ڏيڻ جي طاقت نه ٿيون رکن. زمين ۽ آسمان پنهنجي پوري نظام سان هن ڳالهه جو انڪار ڪري رهيا آهن ته هِتي هڪ هستي کان سواءِ ڪنهن ٻي هستي کي ٻه ڪا طاقت حاصل هجي. اهڙي طرح جن دنياوي رونقن کي ماڻهو پنهنجو مقصد بڻائي ٿو ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ سچائي ۽ انصاف جي سيني تقاضن کي وساري ٿو ڇڏي، اهو ڪرڻ به سراسر باطل آهي. ڇاڪاڻ ته انساني زندگي جيڪڏهن هِن ظالماڻي حالت تي ختم ٿي وڃي ته هِن دنيا کي بلڪل بي معنيٰ دنيا چئبو. ان جو مطلب اِهو آهي ته هي دنيا خود غرض ۽ انا پرست ماڻهن جي تماشي جي جاءِ آهي. جڏهن ته ڪائنات جو نظام جنهن باڪمال خدا جون تجليون ڏيکاري رهيو آهي، اُن خدا کان ايئن ٿيڻ نا ممڪن آهي جو هو اهڙي قسم جي بي مقصد تماشي جي ڪا جاءِ ناهي.

دنيا جي موجوده صورتحال بالڪل عارضي آهي. خدا ڪنهن به ڏينهن پنهنجو نئون حڪم جاري ڪري هِن نظام کي ٽوڙي ڇڏيندو. ان ڪانپوءِ انسان جي موجوده آزادي ختم ٿي ويندي ۽ خدا جو اقتدار انسانن تي به اهڙي طرح قائم ٿي ويندو. جهڙي طرح اڄ اُهو باقي ڪائنات تي قائم آهي. ان وقت ڪامياب اُهي ٿيندا جن امتحان جي زماني ۾ پاڻ کي خدا جي حوالي ڪيو هو جيڪي ڪنهن دٻاءُ جي بغير الله کان ڊڄڻ وارا ۽ ان جي اڳيان مڪمل طور جهڪڻ وارا هئا.

وَ اِذۡ قَالَ اِبۡرٰهِيۡمُ لِاَبِيۡهِ اٰزَرَ اَتَتَّخِذُ اَصۡنَامًا اٰلِهَةً ۚ اِنِّيۡۤ اَرٰىكَ وَ قَوۡمَكَ فِيۡ ضَلٰلٍ
مُّبِيۡنٍ ﴿۷۴﴾ وَ كَذٰلِكَ نُرِيۡۤ اِبۡرٰهِيۡمَ مَلَكُوۡتَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ وَ لِيَكُوۡنَ مِنَ
الۡمُوۡقِنِيۡنَ ﴿۷۵﴾ فَلَمَّا جَنَّ عَلَيۡهِ الَّيۡلُ رَاٰ كَوۡكَبًا ۚ قَالَ هٰذَا رَبِّيۡ ۚ فَلَمَّاۤ اَفَلَ قَالَ لَاۤ اُحِبُّ
الۡاٰفِلِيۡنَ ﴿۷۶﴾ فَلَمَّا رَاَ الۡقَمَرَ بَازِغًا قَالَ هٰذَا رَبِّيۡ ۚ فَلَمَّاۤ اَفَلَ قَالَ لَئِنۡ لَّمۡ يَهۡدِنِيۡ رَبِّيۡ
لَاَكُوۡنَنَّ مِنَ الۡقَوۡمِ الضَّآلِّيۡنَ ﴿۷۷﴾ فَلَمَّا رَاَ الشَّمۡسَ بَازِغَةً قَالَ هٰذَا رَبِّيۡ هٰذَاۤ اَكۡبَرُ ۚ
فَلَمَّاۤ اَفَلَتۡ قَالَ يٰقَوۡمِ اِنِّيۡ بَرِيۡٓءٌ مِّمَّا تُشۡرِكُوۡنَ ﴿۷۸﴾ اِنِّيۡ وَجَّهۡتُ وَجۡهِيَ لِلَّذِيۡ فَطَرَ
السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ حَنِيۡفًا وَّ مَاۤ اَنَا مِنَ الۡمُشۡرِكِيۡنَ ﴿۷۹﴾

۽ جڏهن ابراهيم پنهنجي پيءُ آزر کي چيو ڇا تون بُتن کي خدا ٿو مڃين. آئون توکي ۽ تنهنجي قوم کي پڌري گمراهي ۾ ڏسان ٿو. ۽ اهڙي طرح اسان ابراهيم کي ڏيکاري ڇڏي آسمانن ۽ زمين جي حڪومت، ته جيئن اُن کي يقين اچي وڃي. پوءِ جڏهن رات اُن تي انڌيرو ڪري ڇڏيو ته هن هڪ تارو ڏٺو، چيائين ته هي منهنجو رب آهي. پوءِ جڏهن اُهو لهي ويو ته اُن چيو ته آئون لهي وڃڻ وارن کي دوست نه ٿو رکان. پوءِ جڏهن هُن چنڊ کي چمڪندڙ ڏٺو ته چيائين ته هي منهنجو رب آهي، پوءِ جڏهن اُهو به لهي ويو ته چيائين ته جيڪڏهن منهنجو رب مون کي هدايت نه ڪري ته آئون گمراهه ماڻهن مان ٿي پوان. پوءِ جڏهن سج کي روشن ڏٺائين، چيائين ته هي منهنجو رب آهي هِي سڀ کان وڏو آهي. پوءِ جڏهن اُهو غروب ٿي ويو ته چيائين اي منهنجي قوم! آئون اُن شرڪ کان بري آهيان جيڪو اوهين ڪريو ٿا. مون پنهنجو رخ هڪ طرفو ٿي ڪري اُن ڏانهن ڪري ورتو آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي خلقيو آهي. ۽ آئون شرڪ ڪرڻ وارن مان نه آهيان. ٧٤-٧٩

حضرت ابراهيم عليه السلام جي ڪهاڻي جيڪا هتي بيان ٿي آهي. اِها حق جي تلاش جي ڪهاڻي نہ آهي، پر حق جي مشاهدي جي ڪهاڻي آهي. حضرت ابراهيم عليه السلام چار هزار سال پهرين عراق ۾ اهڙي ماحول ۾ پيدا ٿيو جتي سج، چنڊ ۽ تارن جي پوڄا ٿيندي هئي. ان جي باوجود بہ فطرت جي رهنمائي ۽ الله جي خاص مدد پاڻ عليه السلام کي شرڪ کان محفوظ رکيو. سندس بيدار نگاهون ڪائنات ۾ ڦهليل نشانين ۾ توحيد جا پڌرا دليل ڏسنديون هيون. ڪائنات جي آئيني ۾ هر طرف پاڻ عليه السلام کي هڪ خدا جو چهرو ڏسڻ ۾ ايندو هو. پاڻ عليه السلام قوم جي حالت تي افسوس ڪندا هئا ۽ ماڻهن کي ٻڌائيندا هئا تہ ڪليل حقيقتن جي باوجود اوهان ڇو انڌا ٻاجي ويا آهيو.

رات جي وقت حضرت ابراهيم عليه السلام آسمان ۾ خدا جون نشانيون ڏسي رهيا هئا. ان وقت سيارو زهرا چمڪندي انهن جي سامهون آيو، جنهن کي سندس قوم معبود سمجهي پوڄا ڪندي هئي. ان جي دل ۾ بطور سوال نہ بلڪ بطور تعجب اهو خيال ايندو آهي تہ ڇا اِها ئي اُها شيءِ آهي جيڪا منهنجو رب هجي، اِهوئي اُهو معبود آهي جنهن جي اسان کي عبادت ڪرڻ کپي. جڏهن ابراهيم عليه السلام ان کي پنهنجي سامهون لهندي ڏسي ٿو تہ اُن جو لهي وڃڻ سندس عقيدي جي صحيح هئڻ جو هڪ مشاهدي وارو دليل بڻجي وڃي ٿو. هو چئي ٿو ڏي تہ جيڪا شيءِ ڪجھ وقت جي لاءِ چمڪي ۽ پوءِ غائب ٿي وڃي، اُها ڪيئن اُن قابل ٿي سگهي ٿي تہ اُن جي پوڄا ڪئي وڃي. بلڪل اهڙوئي تجربو ڪين چنڊ ۽ سج ذريعي بہ ٿيندو آهي. هر هڪ ٿوري دير لاءِ چمڪي تعجب پيدا ڪري ٿو پوءِ لهي وڃي ٿو. اِهي فلڪياتي مشاهدا جيڪي سندس لاءِ توحيد جي پڌري تصديق هئا. انهن کي ئي هو قوم جي سامهون پنهنجي تبليغ ۾ دليل طور پيش ڪندا آهن ۽ ڪلام جو انداز اُهو اختيار ڪري ٿو، جنهن کي اصطلاح ۾ حجت الزامي چيو ويندو آهي. يعني مخاطب جي لفظن کي دهرائي پوءِ ان کي قائل ڪرڻ. حجت الزامي جو اُهو طريقو قرآن ۾ ٻين جاين تي بہ ذڪر ڪيل آهي. مثلاً: ”وانظر الیٰ الٰهک الذي ظلت عليه عاڪفا“ (طٰهٰ: ٩٧)

ڪائنات ۾ خدا جون جيڪي تخليقي نشانيون پکڙيل آهن، اُهي ڪنهن ٻانهي جي لاءِ ايمان ۾ اضافي جو ذريعو بہ آهن ۽ انهن مان حق جي دعوت جي لاءِ مضبوط دليل بہ حاصل ٿيندا آهن.

وَ حَآجَّهٗ قَوْمُهٗ ؕ قَالَ اَتُحَآجُّوْٓنِّيْ فِي اللّٰهِ وَ قَدْ هَدٰىنِ ؕ وَ لَآ اَخَافُ مَا تُشْرِكُوْنَ بِهٖٓ اِلَّآ
اَنْ يَّشَآءَ رَبِّيْ شَيْـًٔا ؕ وَسِعَ رَبِّيْ كُلَّ شَيْءٍ عِلْمًا ؕ اَفَلَا تَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٨٠﴾ وَ كَيْفَ اَخَافُ مَآ
اَشْرَكْتُمْ وَ لَا تَخَافُوْنَ اَنَّكُمْ اَشْرَكْتُمْ بِاللّٰهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ عَلَيْكُمْ سُلْطٰنًا ؕ فَاَيُّ
وقف لازم الْفَرِيْقَيْنِ اَحَقُّ بِالْاَمْنِ ۚ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٨١﴾ؔ اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ لَمْ يَلْبِسُوْٓا اِيْمَانَهُمْ
ع ٩ ١٢ ١٥ بِظُلْمٍ اُولٰٓئِكَ لَهُمُ الْاَمْنُ وَ هُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿٨٢﴾ؑ وَ تِلْكَ حُجَّتُنَآ اٰتَيْنٰهَآ اِبْرٰهِيْمَ عَلٰى
قَوْمِهٖ ؕ نَرْفَعُ دَرَجٰتٍ مَّنْ نَّشَآءُ ؕ اِنَّ رَبَّكَ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ ﴿٨٣﴾

۽ سندس قوم اُن سان جهڳڙو ڪيو. ان چيو ڇا اوهان الله جي معاملي ۾ مون سان جهڳڙو ڪريو ٿا، حالانڪ اُن مون کي راهہ ڏيکاري ڇڏي آهي. ۽ آئون انهن کان نہ ٿو ڊڄان جن کي توهان الله جو شريڪ ڪريو ٿا. سواءِ اُن

ڳالھ جي جيڪو منھنجو رب چاهي. منھنجي رب جو علم ھر شيءِ تي حاوي آھي، ڇا توھان سوچو نہ ٿا ۽
آئون ڪيئن ڊڄان اوھان جي شريڪن کان، جڏھن تہ توھان الله سان گڏ اُنھن شين کي خدائي ۾ شريڪ ڪندي نہ
ٿا ڊڄو جن لاءِ الله توھان تي ڪو بہ دليل نہ لاٿو آھي. ھاڻي ٻنھي ڌرين مان ڪير امن جو وڌيڪ حقدار آھي،
جيڪڏھن توھان ڄاڻو ٿا. جن ماڻھن ايمان آندو ۽ پنھنجي ايمان ۾ ڪو ظلم نہ گڏايو تہ انھن لاءِ ئي امن آھي ۽
اھي ئي سڌي راھ تي آھن ۽ اھو اسان جو دليل ھو جيڪو اسان ابراھيم کي سندس قوم جي مقابلي ۾ ڏنو.
اسان جنھن جا درجا چاھيون ٿا بلند ڪندا آھيون. بيشڪ تنھنجو رب حڪيم ۽ عليم آھي. ٨٠-٨٣

---

جڏھن ڪنھن شيءِ يا ڪنھن شخصيت کي معبود جو درجو ڏئي ڇڏجي تہ ان ڪانپوءِ فطري طور تي ائين ٿيندو آھي تہ ان سان گڏ پراسرار عظمتن جا تصور وابستہ ٿي ويندا آھن. ماڻھو سمجھڻ لڳن ٿا تہ اُن کي ڪائنات جي نقشي ۾ ڪو اھڙو وڏو مقام حاصل آھي جيڪو ٻين ماڻھن کي حاصل نہ آھي. ان کي خوش ڪرڻ سان قسمتون ٺھنديون آھن ۽ ان کي ناراض ڪرڻ سان قسمتون بگڙي وينديون آھن. جڏھن حضرت ابراھيمؑ پنھنجي قوم کي بتن جي باري ۾ چيو تہ اُھي بي حقيقت آھن. انھن کي خدا جي ھِن دنيا ۾ ڪو بہ زور حاصل نہ آھي تہ ماڻھن کي انديشو ٿيڻ لڳو تہ ھِن گستاخيءَ جي نتيجي ۾ ڪٿي ڪا مصيبت نہ اچي وڃي. اُھي حضرت ابراھيمؑ سان بحث ڪرڻ لڳا. اُنھن پاڻؑ کي ڊيڄاريو تہ تون اھڙيون ڳالھيون نہ ڪر نہ تہ انھن معبودن جو غضب تنھنجي مٿان نازل ٿيندو. تون انڌو ٿي ويندين، تون چريو ٿي ويندين (نعوذ بالله). تون برباد ٿي ويندين وغيره.

ھن دنيا ۾ رڳو خدا جي ھڪ ذات آھي جنھن جي وڏائي دليل ۽ بُرھان تي قائم آھي. ان ڪانسواءِ وڏائي ۽ معبوديت جا جيترا بہ قسم آھن سي سڀ وھمي عقيدن جي بنياد تي بيٺل آھن. خدا جي خدائي پنھنجو پاڻ قائم آھي، جڏھن تہ ٻيون سڀ خدايون رڳو انھن جي مڃڻ وارن جي ڪري موجود آھن. جيڪڏھن مڃڻ وارا نہ مڃين تہ اِھي خدايون بہ بي وجود ٿي رھجي وڃن.

ظاھري حالتن کي ڏسي ڪري انھن معبودن جا پوڄاري اڪثر ان دوکي ۾ پئجي ويندا آھن تہ اُھي سچن خدا پرستن جي مقابلي ۾ وڌيڪ محفوظ مقام تي بيٺا آھن. پر اِھا بدترين غلط فھمي آھي. محفوظ حيثيت اصل ۾ ان جي آھي جيڪو دليل ۽ برھان تي بيٺل ھجي. دنيا جي رواجن سان صلح ڪري ڪو شخص پنھنجي لاءِ محفوظ جاءِ حاصل ڪري وٺي، تڏھن بہ آخري انجام جي لحاظ کان ان جي ڪا بہ حقيقت نہ آھي.

ڪوڙن معبودن جو غلبو ڪڏھن اُن حد تائين پھچندو آھي تہ سچا خدا پرست بہ ان کان متاثر ٿي انھن سان موافقت يا ٺاھ ڪري وٺندا آھن. دنيا جون مصلحتون ۽ مادي مفاد ان سان ايتري حد تائين وابستہ ٿي ويندا آھن جو بظاھر ائين لڳندو آھي تہ باعزت زندگي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ان ڪانسواءِ ٻي ڪا صورت نہ آھي جو انھن معبودن جي ٺاھيل نظام سان صلح ڪري وٺجي. پر اھڙي قسم جو رويو پنھنجي ايمان ۾ اھڙو نقصان شامل ڪري وٺڻو آھي جيڪو خود ايمان کي ئي خدا جي نظرن ۾ مشڪوڪ بڻائي ڇڏي.

وَ وَهَبْنَا لَهٗۤ اِسْحٰقَ وَ يَعْقُوْبَ ؕ كُلًّا هَدَيْنَا ۚ وَ نُوْحًا هَدَيْنَا مِنْ قَبْلُ وَ مِنْ ذُرِّيَّتِهٖ

دَاوٗدَ وَ سُلَيْمٰنَ وَ اَيُّوْبَ وَ يُوْسُفَ وَ مُوْسٰى وَ هٰرُوْنَ ؕ وَ كَذٰلِكَ نَجْزِی الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۸۴﴾
وَ زَكَرِيَّا وَ يَحْيٰى وَ عِيْسٰى وَ اِلْيَاسَ ؕ كُلٌّ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۸۵﴾ وَ اِسْمٰعِيْلَ وَ الْيَسَعَ وَ
يُوْنُسَ وَ لُوْطًا ؕ وَ كُلًّا فَضَّلْنَا عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿۸۶﴾ وَ مِنْ اٰبَآئِهِمْ وَ ذُرِّيّٰتِهِمْ وَ اِخْوَانِهِمْ ۚ وَ
اجْتَبَيْنٰهُمْ وَ هَدَيْنٰهُمْ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۸۷﴾ ذٰلِكَ هُدَى اللّٰهِ يَهْدِيْ بِهٖ مَنْ
يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ؕ وَ لَوْ اَشْرَكُوْا لَحَبِطَ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۸۸﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ
اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ وَ الْحُكْمَ وَ النُّبُوَّةَ ۚ فَاِنْ يَّكْفُرْ بِهَا هٰٓؤُلَآءِ فَقَدْ وَ كَّلْنَا بِهَا قَوْمًا
لَّيْسُوْا بِهَا بِكٰفِرِيْنَ ﴿۸۹﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ هَدَى اللّٰهُ فَبِهُدٰىهُمُ اقْتَدِهْ ؕ قُلْ لَّآ اَسْـَٔلُكُمْ
ع ۱۰ / ۱۶ عَلَيْهِ اَجْرًا ؕ اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٰى لِلْعٰلَمِيْنَ ﴿۹۰﴾

۽ اسان ابراهيم کي اسحٰق ۽ يعقوب عطا ڪيا، هر هڪ کي اسان هدايت ڏني ۽ نوح کي به اسان هدايت ڏني ان کان اڳ ۾. ۽ ان جي نسل مان دائود ۽ سليمان ۽ ايوب ۽ يوسف ۽ موسيٰ ۽ هارون کي به. ۽ اسان نيڪوڪارن کي اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون. ۽ زڪريا ۽ يحييٰ ۽ عيسيٰ ۽ الياس کي به، انهن مان هر هڪ صالح هو. ۽ اسماعيل ۽ اليسع ۽ يونس ۽ لوط کي به ۽ انهن مان هر هڪ کي اسان دنيا وارن تي فضيلت عطا ڪئي. ۽ سندن ابن ڏاڏن ۽ سندن اولاد ۽ سندن ڀائرن مان به ۽ انهن کي اسان چونڊيو سون ۽ اسان سڌري راهه ڏانهن انهن جي رهنمائي ڪئي، اِها الله جي هدايت آهي، هو اُن سان سرفراز ڪندو آهي پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي چاهيندو آهي. ۽ جيڪڏهن اُهي شرڪ ڪن ها ته سندن سڀ ڪئي ڪمائي چٽ ٿي وڃي ها. اِهي اُهي ماڻهو آهن جن کي اسان ڪتاب ۽ حڪمت ۽ نبوت عطا ڪئي. پوءِ جيڪڏهن اِهي مڪي وارا ان جو انڪار ڪن ته اسان اهڙا ماڻهو مقرر ڪري ڇڏيا آهن جيڪي انهن ڳالهين جا منڪر نه آهن. اِهي ئي اُهي ماڻهو آهن جن کي الله هدايت بخشي، بس تون به انهن جي طريقي جي پيروي ڪر. چئو ته آئون ان تي اوهان کان ڪو معاوضو نه ٿو گهران. اِها ته بس هڪ نصيحت آهي دنيا وارن جي لاءِ. ۸۴-۹۰

---

”فضيلت“ ڪنهن جو نسلي يا قومي حق نه آهي. اهو الله جو عطيو آهي جنهن جو حق رڳو انهن ماڻهن جي لاءِ هوندو آهي جيڪي خدا جي هدايت جي مطابق پاڻ کي صالح بڻائين. شرڪ جي سڀني قسمن کان پاڻ کي بچائين ۽ ”بنا معاوضي نصيحت“ جي دعوتي منصوبي ۾ پاڻ کي مڪمل طور شامل ڪن. اِهي اُهي ماڻهو آهن جيڪي خدا جي ڪتاب کي پنهنجو حقيقي رهنما ناهن ٿا. اُهي ان سان پنهنجي وجود کي ايترو گهڻو شامل ڪري ٿا وٺن جو انهن تي اُن راهه جا اُهي راز کلڻ لڳندا آهن جن کي حڪمت چيو ويندو آهي. هي اُهي ئي ماڻهو آهن جن کي خدا چونڊي ٿو وٺي ۽ انهن مان جن کي چاهي ٿو پنهنجي دين جي پيغام پهچائڻ جي توفيق ڏيندو آهي. نبوت جي زماني ۾ الله جي خاص پيغمبر جي حيثيت سان ۽ ختم نبوت کان پوءِ الله جي عام داعي جي حيثيت سان. الله جو انعام چاهي اُهو پيغمبرن لاءِ هجي يا عام انسانن جي لاءِ، سڀ جو سڀ نيڪ عمل (احسان) جي بنياد تي ملندو آهي نه وري ڪنهن ٻي بنياد تي.

حق جي دعوت جو ڪم رڳو اُهي ماڻهو ئي ڪندا آهن جيڪي ان ڪم ۾ لاءِ نهايت سنجيده ۽ بي لوث ٿي ويا هجن. جيڪي (مدعو) دعوت ٻڌڻ وارن ڪان ڪنهن به قسم جي مادي لالچ نه رکن. جنهن ماڻهو يا گروهه تائين اوهان آخرت جو پيغام پهچائي رهيا هجو، انهن جي خلاف توهان پنهنجن دنياوي حقن جي لاءِ احتجاج ۽ مطالبن جي مهم نه ٿا هلائي سگهو. داعي جو ايئن ڪرڻ رڳو ان قيمت تي هوندو ته ان جي دعوت مدعو جي نظر ۾ مذاق بڻجي رهجي وڃي ۽ ماحول جي اندر ڪڏهن به ان کي سنجيده مهم جي حيثيت حاصل نه ٿئي.

مڪي ۾ ڪجهه ماڻهن پاڻ ﷺ تي ايمان آندو. پر ”قوم“ جي حيثيت سان مڪي وارن پاڻ ﷺ جو انڪار ڪري ڇڏيو. ان ڪانپوءِ الله تعاليٰ مديني وارن جون دليون پاڻ ﷺ جي دعوت جي حق ۾ نرم ڪري ڇڏيون ۽ اُهي قوم جي حيثيت ۾ پاڻ ﷺ جا مؤمن بڻجي ويا. ايستائين جو پاڻ ﷺ جي لاءِ اِهو ممڪن ٿي ويو ته پاڻ ﷺ مڪي ڪان مديني وڃي اُتي اسلام جو مرڪز قائم ڪري سگهن. الله تعاليٰ جي اِها مدد رسول الله ﷺ کي ڪامل درجي ۾ حاصل ٿي. اهڙي طرح پاڻ ﷺ جي امت ۾ اٿڻ وارن داعين کي به الله اِها مدد ڏئي سگهي ٿو ۽ پنهنجي مصلحت جي مطابق ڏيندو رهيو آهي.

وَ مَا قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ قَدْرِهٖۤ اِذْ قَالُوْا مَاۤ اَنْزَلَ اللّٰهُ عَلٰى بَشَرٍ مِّنْ شَیْءٍ ؕ قُلْ مَنْ اَنْزَلَ الْكِتٰبَ الَّذِیْ جَآءَ بِهٖ مُوْسٰى نُوْرًا وَّ هُدًى لِّلنَّاسِ تَجْعَلُوْنَهٗ قَرَاطِیْسَ تُبْدُوْنَهَا وَ تُخْفُوْنَ كَثِیْرًا ۚ وَ عُلِّمْتُمْ مَّا لَمْ تَعْلَمُوْۤا اَنْتُمْ وَ لَاۤ اٰبَآؤُكُمْ ؕ قُلِ اللّٰهُ ۙ ثُمَّ ذَرْهُمْ فِیْ خَوْضِهِمْ یَلْعَبُوْنَ ﴿۹۱﴾ وَ هٰذَا كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ مُبٰرَكٌ مُّصَدِّقُ الَّذِیْ بَیْنَ یَدَیْهِ وَ لِتُنْذِرَ اُمَّ الْقُرٰى وَ مَنْ حَوْلَهَا ؕ وَ الَّذِیْنَ یُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ یُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَ هُمْ عَلٰى صَلَاتِهِمْ یُحَافِظُوْنَ ﴿۹۲﴾

۽ انهن الله جو تمام غلط اندازو لڳايو جڏهن انهن چيو ته الله ڪنهن انسان تي ڪا شيءِ نازل نه ڪئي آهي. چؤ ته اُهو ڪتاب ڪنهن نازل ڪيو هو، جنهن کي وٺي موسيٰ آيو هو. اهو نور ۽ هدايت هو ماڻهن جي واسطي. جنهن کي توهان ورق ورق ڪري رکيو آهي. ڪجهه کي ظاهر ڪريو ٿا ۽ گهڻو ڪجهه لڪايو ٿا. ۽ توهان کي اُهي ڳالهيون سيکاريون جن کي توهان ۽ اوهان جا ابا ڏاڏا نه ڄاڻندا هئا. چؤ ته الله نازل ڪيو پوءِ کين ڇڏي ڏي ته پنهنجن اجاين بحثن ۾ کيڏندا رهن. ۽ هي هڪ ڪتاب آهي جيڪو اسان نازل ڪيو آهي برڪت ڀريو ۽ پاڻ کان اڳين ڪتابن جي تصديق ڪندڙ. ۽ هن لاءِ ته تون ڊيڄارين مڪي وارن کي ۽ اُن جي آسپاس وارن کي. ۽ جيڪي آخرت تي يقين رکن ٿا اُهي ئي هِن تي ايمان آڻيندا. ۽ اُهي پنهنجن نمازن جي حفاظت ڪرڻ وارا آهن. ٩١-٩٢

---

رسول الله ﷺ جي دعوت مڪي جي ماڻهن جي سامهون آئي ته انهن جي ڪجهه ماڻهن ڪجهه يهودين ڪان پڇيو ته توهان جو هن باري ۾ ڇا خيال آهي. ڇا محمد ﷺ تي واقعي خدا جو ڪلام نازل ٿيو آهي. يهودين جواب ڏنو ته ”خدا ڪنهن انسان تي ڪجهه نازل نه ڪيو آهي“، بظاهر اِها ڳالهه ڏاڍي عجيب آهي ڇاڪاڻ ته يهودي ته پاڻ نبين کي مڃڻ وارا هئا ۽ اهڙي طرح ڄڻ ته اُهي اقرار ڪري رهيا هئا ته انسان تي

خدا جو ڪلام نازل ٿيندو آهي. پر جڏهن ماڻهو مخالفت ۾ انڌو ٿي وڃي ته هو مخالفن جي مخالفت جي جوش ۾ ڪڏهن ايستائين پهچي ويندو آهي جو سندس مجيل ڳالهه جي پاڻ ئي ترديد ڪرڻ لڳندو آهي.

يهودين جي اندر اها سرڪشي اُن ڪري پيدا ٿي جو انهن خدا جي ڪتاب کي ورق ورق ڪري ڇڏيو هو. اهي خدا جي تعليم جي ڪجهه حصن کي ظاهر ڪندا هئا ۽ باقي کي ڪتاب ۾ بند رکندا هئا. مثلاً اُهي انعام وارين آيتن کي خوب پڙهندا ۽ ٻڌائيندا هئا ۽ انهن آيتن کي ڇڏي ڏيندا هئا جن ۾ اُهي عمل ٻڌايا ويا هئا جن کي ڪرڻ سان ڪنهن کي اُهي انعام ملن ٿا. اُهي اهڙين آيتن جو خاص تذڪرو ڪندا هئا جن مان انهن جي هُل هنگامي واري سياست جي تائيد ٿيندي هجي ۽ انهن آيتن کي نظر انداز ڪري ڇڏيندا هئا جن ۾ خاموش اصلاح جا حڪم ڏنل هئا. اُهي اهڙين آيتن جي درس ۾ وڏو اهتمام ڪندا هئا جن ۾ انهن کي لفظي باريڪين جو ڪمال ڏيکارڻ جو موقعو هجي، پر انهن آيتن کان سرسري طور گذري ويندا هئا جن ۾ دين جي ابدي حقيقتن کي بيان ڪيو ويو هجي. اُهي اهڙين آيتن جو خوب چرچو ڪندا هئا جن مان سندن فضيلت ظاهر ٿيندي هجي ۽ انهن آيتن کي نظر انداز ڪندا هئا جن مان سندن ذميدارين جي خبر پوي. جيڪي ماڻهو خدا جي ڪتاب کي اهڙي طرح ”ورق ورق“ ڪن، انهن جي اندر فطري طور تي سرڪشي اچي ويندي آهي. اُهي غير سنجيده بحث ڪندا آهن. متضاد بيان ڏيندا آهن. انهن مان ڪنهن حقيقي تعاون جي اميد نٿي ڪري سگهجي. جيڪي ماڻهو خدا جي ڪتاب سان انصاف نه ڪن، اُهي انسانن سان معاملن ۾ انصاف ڪيئن ڪري سگهن ٿا.

دين جي دعوت اصل ۾ ماڻهن کي هوشيار ڪرڻ جي دعوت آهي. هِن قسم جي دعوت چاهي ڪيتري ئي ڪامل انسان جي طرفان پيش ڪئي وڃي، اُها ٻڌڻ واري جي دل ۾ اُن وقت جڳهه وٺندي، جڏهن هو پنهنجي سيني ۾ هڪ فڪر ۽ ڳڻتي رکندڙ دل رکندو هجي ۽ آخرت جي معاملي کي هڪ سنجيده معاملو سمجهندو هجي. ٻڌڻ واري ۾ جيڪڏهن اِهو ابتدائي مادو موجود نه هجي ته ٻڌائڻ وارو اُن کي ڪو به فائدو پهچائي نه ٿو سگهي.

وَ مَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنِ افۡتَرٰی عَلَی اللّٰہِ کَذِبًا اَوۡ قَالَ اُوۡحِیَ اِلَیَّ وَ لَمۡ یُوۡحَ اِلَیۡہِ شَیۡءٌ وَّ مَنۡ
قَالَ سَاُنۡزِلُ مِثۡلَ مَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰہُ ؕ وَ لَوۡ تَرٰۤی اِذِ الظّٰلِمُوۡنَ فِیۡ غَمَرٰتِ الۡمَوۡتِ وَ الۡمَلٰٓئِکَۃُ
بَاسِطُوۡۤا اَیۡدِیۡہِمۡ ۚ اَخۡرِجُوۡۤا اَنۡفُسَکُمۡ ؕ اَلۡیَوۡمَ تُجۡزَوۡنَ عَذَابَ الۡہُوۡنِ بِمَا کُنۡتُمۡ
تَقُوۡلُوۡنَ عَلَی اللّٰہِ غَیۡرَ الۡحَقِّ وَ کُنۡتُمۡ عَنۡ اٰیٰتِہٖ تَسۡتَکۡبِرُوۡنَ ﴿۹۳﴾ وَ لَقَدۡ جِئۡتُمُوۡنَا فُرَادٰی
کَمَا خَلَقۡنٰکُمۡ اَوَّلَ مَرَّۃٍ وَّ تَرَکۡتُمۡ مَّا خَوَّلۡنٰکُمۡ وَرَآءَ ظُہُوۡرِکُمۡ ۚ وَ مَا نَرٰی مَعَکُمۡ
شُفَعَآءَکُمُ الَّذِیۡنَ زَعَمۡتُمۡ اَنَّہُمۡ فِیۡکُمۡ شُرَکٰٓؤُا ؕ لَقَدۡ تَّقَطَّعَ بَیۡنَکُمۡ وَ ضَلَّ عَنۡکُمۡ مَّا
ع ١١ ١٧ کُنۡتُمۡ تَزۡعُمُوۡنَ ﴿۹۴﴾

۽ ان کان وڏو ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو جيڪو الله تي ڪوڙ گهڙي چوي ته مون تي وحي نازل ٿيو آهي حالانڪ

ان تي ڪابہ وحي نازل نہ ڪيو ويو هجي. ۽ چوي تہ جھڙو ڪلام الله نازل ڪيو آهي آئون بہ اھڙو نازل ڪري سگھان ٿو. ۽ ڪاش تون اُن وقت ڏسين جڏھن اِهي ظالم موت جي سڪرات وارين سختين ۾ هوندا ۽ فرشتا هٿ وڌائيندا تہ پنھنجن جانين کي ٻاهر ڪڍو. اڄ اوهان کي ذلت وارو عذاب ڏنو ويندو، ان ڪري جو توهان الله تي ڪوڙ ڳالهيندا هئا ۽ توهان الله جي نشانين کان تڪبر ڪندا هئا. ۽ توهان اسان وٽ اڪيلا اڪيلا آيا آهيو، جيئن اسان توهان کي پھرين ڀيري پيدا ڪيو هو. ۽ جيڪي ڪجھ اسان توهان کي ڏنو هو، سو سڀ توهان پٺتي ڇڏي آيا آهيو ۽ اسان توهان سان گڏ اُنهن سفارش ڪندڙن کي بہ نہ ٿا ڏسون جن جي متعلق اوهان سمجھندا هئا تہ توهان جا ڪم ٺاهڻ ۾ انهن جو بہ حصو آهي. توهان جا لاڳاپا ٽٽي ويا ۽ توهان کان وينديون رهيون اهي سڀ دعوائون جيڪي توهان ڪندا هئا. ٩٣-٩٤

---

الله جڏھن پنھنجي ڪنھن ٻانهي کي پنھنجي پڪار بلند ڪرڻ لاءِ بيھاريندو آهي تہ انهيءَ سان گڏ ان کي خاص توفيق بہ عطا ڪندو آهي. ان جي ڪردار ۾ آخرت جي خوف جي جھلڪ هوندي آهي. ان جي ڳالھين ۾ خدائي دليل جي طاقت نظر ايندي آهي. تمام گھڻين مخالفتن جي باوجود هو پنھنجي پيغام پھچائڻ جي عمل کي اعليٰ شڪل ۾ جاري رکڻ ۾ ڪامياب رهندو آهي. هو پنھنجي پوري وجود سان خدا جي زمين تي خدا جي نشاني هوندو آهي، پر جن جون نظرون دنياوي عظمت وارين شين ۾ گم هجن، اُهي آخرت جي داعي جي عظمت کي سمجھي نہ ٿا سگھن. ايستائين جو انهن جي مادي پيماني ۾ انهن جي پنھنجي ذات برتر ۽ الله جي داعي جي ذات ڪمتر ڏسڻ ۾ ايندي آهي. اها شيءِ انهن کي تڪبر ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي آهي ۽ جيڪي ماڻھو تڪبر جي نفسيات ۾ مبتلا ٿي وڃن، اهي ڪنھن بہ وقت ڪوبہ نامعقول ۽ غير مھذب رويو اختيار ڪري سگھن ٿا. ايستائين جو اُهي ان غلط فھمي ۾ بہ مبتلا ٿي سگھن ٿا تہ اُهي بہ اِهڙو ئي ڪلام تخليق ڪري سگھن ٿا جھڙو ڪلام خدا جي طرفان ڪنھن ٻانهي تي نازل ٿيندو آهي. هو خدا کي معجزاتي نشانين ۾ ڏسڻ چاهين ٿا، ان ڪري اُهي بشري نشانين ۾ ظاهر ٿيڻ واري خدا کي سڃاڻي نہ ٿا سگھن.

اهو تڪبر جيڪو ڪنھن ماڻھوءَ جي اندر پيدا ٿيندو آهي، اُهو ان دنياوي حيثيت ۽ مادي سامان جي ڪري ٿيندو آهي جيڪو ان کي دنيا ۾ مليل آهي. ان کي وسري ٿو وڃي تہ دنيا ۾ جيڪو ڪجھ ان کي حاصل آهي، اُهو رڳو آزمائش جي لاءِ ۽ مقرر مدت تائين آهي. موت جو وقت ايندي ئي اچانڪ اُهي سڀ شيون کسجي وينديون. ان کان پوءِ ماڻھو اهڙي طرح هڪ اڪيلو وجود رهجي ويندو جھڙي طرح اهو ابتدائي پيدائش جي وقت هڪ اڪيلو وجود هو. موت کان پوءِ هر ماڻھو پنھنجي زندگي جي اُن مرحلي ۾ پھچي ويندو آهي جتي نہ ان جي دولت هوندي ۽ نہ ان جي حيثيت، جتي نہ ان جا ساٿي هوندا ۽ نہ ان جا سفارشي. هو هوندو ۽ ان جو خدا هوندو. دنيا ۾ ان کي جن شين تي ناز هو، انهن مان ڪابہ شيءِ اُن ڏينھن ان کي خدا جي پڪڙ کان بچائڻ لاءِ موجود نہ هوندي.

دنيا ۾ هر ماڻھو لفظن جي طلسم ۾ جيئندو آهي. هر ماڻھو پنھنجي حال مطابق اهڙا لفظ تلاش ڪري ٿو وٺي جن ۾ اُن جو وجود بلڪل برحق ڏسڻ ۾ اچي، اُن جو رستو سڌو منزل ڏانهن ويندي نظر اچي. پر آخرت جو انقلاب جڏھن حقيقتن جا پردا ڦاڙي ڇڏيندو تہ ماڻھن جا اهي لفظ ايترا بي معنيٰ ٿي ويندا جڻ تہ انهن جو ڪو بہ وجود ئي نہ هو.

اِنَّ اللّٰهَ فَالِقُ الْحَبِّ وَ النَّوٰى ؕ يُخْرِجُ الْحَیَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَ مُخْرِجُ الْمَيِّتِ مِنَ الْحَيِّ ؕ
ذٰلِكُمُ اللّٰهُ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ﴿٩٥﴾ فَالِقُ الْاِصْبَاحِ ۚ وَ جَعَلَ الَّيْلَ سَكَنًا وَّ الشَّمْسَ وَ الْقَمَرَ
حُسْبَانًا ؕ ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ ﴿٩٦﴾ وَ هُوَ الَّذِیْ جَعَلَ لَكُمُ النُّجُوْمَ لِتَهْتَدُوْا
بِهَا فِیْ ظُلُمٰتِ الْبَرِّ وَ الْبَحْرِ ؕ قَدْ فَصَّلْنَا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿٩٧﴾

بيشڪ الله ٻج ۽ ککڙيءَ کي ڦاڙڻ وارو آهي. اُهو جاندار کي بي جان مان ڪڍي ٿو ۽ اُهوئي بي جان مان جاندار کي ڪڍڻ وارو آهي. اهوئي توهان جو الله آهي، پوءِ توهان ڪيڏانهن ڦٽڪندا وتو. اهوئي صبح کي ڦُٽائيندڙ آهي ۽ ان رات کي سڪون جو وقت بڻايو آهي ۽ سج ۽ چنڊ کي حساب سان رکيو آهي. اهو اندازو مقرر ڪيل آهي غالب ۽ علم واري جو. ۽ اهوئي آهي جنهن توهان جي لاءِ تارن کي خلقيو ته جيئن انهن سان ٻَرن ۽ بحرن جي اونداهين ۾ رستو لهي سگهو. بيشڪ اسان دليل کولي بيان ڪري ڇڏيا آهن انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي ڄاڻن چاهين. ٩٥-٩٧

---

انسان کي جڏهن هڪ موٽرڪار يا ٻي ڪا شيءِ ٺاهڻي هجي ته هو اُن جي هر حصي کي الڳ الڳ ٺاهيندو آهي، پوءِ اُن جي حصن کي جوڙي گهربل شيءِ تيار ڪندو آهي، پر خدا جڏهن هڪ وڻ ڦُٽائي ٿو يا هڪ انسان پيدا ڪندو آهي ته اُن جي نوعيت بلڪل مختلف هوندي آهي. هو ڪنهن شيءِ کي اُن جي سيني حصن سان گڏ هڪ ئي وقت ۾ ٺاهيندو آهي. خدائي ڪارخاني ۾ سڄي جو سڄو وڻ يا سڄي جو سڄو انسان هڪ ئي ٻج يا هڪ ئي قطري مان بڻجي پوندا آهن. اها انتهائي انوکي تدبير آهي، جنهن تي ڪنهن به انسان کي قابو نه آهي. ان مان ثابت ٿئي ٿو انسان کان برتر هڪ هستي موجود آهي، جنهن جو منصوبو سيني منصوبن کان بلند آهي.

سج جيڪو زمين کان ٻارهن لک ڀيرا وڏو آهي ۽ زمين چنڊ کان چؤٽي آهي. اهي گرهه ۽ سيارا مسلسل حرڪت ۾ آهن. چنڊ زمين کان تقريباً اڍائي لک ميل پري رهي زمين جي چؤطرف چڪر لڳائي رهيو آهي ۽ زمين سج کان تقريباً ساڍا نَوَ ڪروڙ ميل جي مفاصلي تي رهندي سج جي چؤ طرف ٻن طريقن تي ڦري رهي آهي، هڪ پنهنجي محور تي ۽ ٻيو سج جي مدار تي. اهڙي طرح ستارن جي گردش جو معاملو آهي جيڪي حيرت جي حد تائين پري مفاصلن تي باقاعدگيءَ سان حرڪت ۾ آهن. انهيءَ ڪائناتي نظام جي ڪري ڏينهن ۽ رات پيدا ٿيندا آهن. انهيءَ سان وقت جو نقشو مقرر ٿيندو آهي. انهيءَ سان خشڪي ۽ پاڻي ۾ انسان جي لاءِ پنهنجي زندگي جي ترتيب کي قائم ڪرڻ ممڪن ٿيندو آهي. اهو ايترو وڏو نظام بغيرڪنهن نقص جي هلي رهيو آهي جو هزارن سالن ۾ به ان جي اندر ڪو به فرق نه ٿو اچي. اُن مان ثابت آهي ته هِتي هڪ اهڙي هستي آهي، جنهن جون طاقتون لا محدود حد تائين آهن.

خدا جون اُهي نشانيون وڏي پيماني تي ٻڌائي رهيون آهن ته ان ڪارخاني جو ٺاهيندڙ وڏي علم وارو آهي. ڪا بي علم هستي ايڏو وڏو ڪارخانو قائم نه ٿي ڪري سگهي. هو وڏي غلبي واري آهي، ان جي بغير ايتري وڏي ڪارخاني جو اهڙي طرح هلڻ ممڪن نه ٿو ٿي سگهي. ان جي منصوبه بندي انتهائي ڪامل آهي. جيڪڏهن ايئن نه هجي ته ايڏي وڏي ڪائنات ۾ ڪا به هم آهنگي ۽ ترتيب ناممڪن ٿي وڃي.

خدا جي دنيا خدا جي دليلن سان ڀري پئي آهي. پر دليل عقل سان نظر اچڻ واري شيءِ جو نالو آهي نه وري ڪنهن لٺ جو. ان ڪري دليل کي ميڄڻ ڪنهن جي لاءِ رڳو ان وقت ممڪن هوندو آهي جڏهن هو سنجيده هجي، هو شعوري طور تي ان جي لاءِ تيار هجي ته هو دليل کي ميجي ونندو پوءِ اُها ان جي حق ۾ هجي يا ان جي خلاف.

وَ هُوَ الَّذِیْۤ اَنْشَاَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ فَمُسْتَقَرٌّ وَّ مُسْتَوْدَعٌ١ؕ قَدْ فَصَّلْنَا الْاٰیٰتِ لِقَوْمٍ یَّفْقَهُوْنَ۝۹۸ وَ هُوَ الَّذِیْۤ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً١ۚ فَاَخْرَجْنَا بِهٖ نَبَاتَ كُلِّ شَیْءٍ فَاَخْرَجْنَا مِنْهُ خَضِرًا نُّخْرِجُ مِنْهُ حَبًّا مُّتَرَاكِبًا١ۚ وَ مِنَ النَّخْلِ مِنْ طَلْعِهَا قِنْوَانٌ دَانِیَةٌ وَّ جَنّٰتٍ مِّنْ اَعْنَابٍ وَّ الزَّیْتُوْنَ وَ الرُّمَّانَ مُشْتَبِهًا وَّ غَیْرَ مُتَشَابِهٍ١ؕ اُنْظُرُوْۤا اِلٰى ثَمَرِهٖۤ اِذَاۤ اَثْمَرَ وَ یَنْعِهٖ١ؕ اِنَّ فِیْ ذٰلِكُمْ لَاٰیٰتٍ لِّقَوْمٍ یُّؤْمِنُوْنَ۝۹۹

۽ اُهوئي آهي جنهن توهان کي هڪ جيءَ مان پيدا ڪيو، پوءِ هر هڪ لاءِ هڪ ٺڪاڻو آهي ۽ هر هڪ لاءِ سندس سپرد ٿيڻ جي جاءِ آهي. اسان دليل کولي بيان ڪري ڇڏيا آهن انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي سمجهن. ۽ اُهوئي آهي جنهن آسمان مان پاڻي وسايو، پوءِ اسان ان مان ڪڍي ڦٽڻ واري هر شيءِ، پوءِ اسان ان مان سرسبز پوک کي پيدا ڪيو، پوءِ منجهائنس تهه بہ تهه ٿيل داڻا پيدا ڪندا آهيون. کجي جي ڳپ مان جهڪيل ڦر جا ڇُڳا ۽ انگور ۽ زيتون ۽ ڏاڙهن جا باغ پاڻ ۾ ملندڙ جلندڙ ۽ جدا جدا بہ. هر هڪ جي ڦر کي ڏسو جڏهن اُهو ڦر جهليندو آهي. ۽ ان جي پچڻ کي ڏسو جڏهن اُهو پچندو آهي. بيشڪ ان جي اندر نشانيون آهن انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي ايمان جي طلب رکندا آهن. ٩٨-٩٩

---

انساني ڪارخانا ان تي قادر نہ آهن تہ اُهي هڪ اهڙي مشين ٺاهين جو ان جي اندر مان اهڙي ئي قسم جون بيشمار مشينون خود بہ خود نڪرنديون وڃن. اسان جي ڪارخانن کي هر مشين ڌار ڌار ٺاهڻي پوندي آهي. پر خدا جي ڪارخاني ۾ اِهو واقعو هر روز ٿي رهيو آهي. وڻ جو هڪ ٻج پوکيو ويندو آهي. پوءِ ان ٻج مان بيشمار وڻ نڪرندا ويندا آهن. اِهوئي معاملو انسان جو آهي. هڪ مرد ۽ هڪ عورت کان شروع ٿي ڪري ڪربين انسان پيدا ٿيندا پيا وڃن ۽ انهن جو سلسلو ختم نہ ٿو ٿئي. اِهو مشاهدو ٻڌائي ٿو تہ جنهن خدا ڪائنات کي پيدا ڪيو آهي، ان جي قدرت بي حد وسيع آهي. هو اهڙي حيرت انگيز تخليق تي قادر آهي تہ هڪ ابتدائي شيءِ وجود ۾ آڻي ۽ پوءِ ان جي اندر مان بي حساب وڏيون وڏيون شيون مسلسل نڪرنديون رهن. اهڙي طرح خدا موجوده دنيا مان هڪ وڏيڪ شاندار ۽ معياري دنيا ڪڍي سگهي ٿو. آخرت جو عقيدو ڪو پريء جو عقيدو نہ آهي، بلڪ جنهن امڪان کي اسان هر روز ڏسي رهيا آهيون، انهيءَ امڪان کي مستقبل جي هڪ واقعي جي حيثيت سان تسليم ڪرڻو آهي.

مٽي ظاهر ۾ هڪ مرده ۽ بي حرڪت شيءِ آهي، پوءِ ان جي مٽان مينهن پوي ٿو. پاڻي ملندي ئي مٽيءَ جي اندران هڪ نئين سرسبز دنيا نڪري اچي ٿي. ان جي اندران قسم قسم جا فصل ۽ قسم قسم جا ميوي وارا وڻ وجود ۾ اچي ويندا آهن. اِهو واقعو بہ موجوده دنيا ڪانپوءِ اچڻ واري دنيا جو هڪ مثال

آهي. مٿيءَ تي پاڻي پوڻ سان زمين جي مٿان رنگ ۽ خوشبو ۽ ذائقي جو هڪ سرسبز شاداب باغ جو ڦٽڻ جي پوڻ ان امڪان ڪي ٻڌائي ٿو، جيڪو دنيا جي خالق حقيقيءَ هتي رکي ڇڏيو آهي. اڄوڪي دنيا ۾ انسان جيڪو نيڪ عمل ڪندو آهي، اُهو اِهڙي ئي قسم جو هڪ امڪان آهي. جڏهن خدا جي رحمتن جو مينهن پوندو تہ اُهو امڪان سرسبز ٿي ڪري آخرت جي خوشنما پوک جي صورت ۾ تبديل ٿي ويندو.

انسان شروع ۾ ماءُ جي پيٽ جي سپرد هوندو آهي، پوءِ موجوده دنيا ۾ ايندو آهي. قبر بہ ڄڻ تہ انهيءَ قسم جو هڪ "پيٽ" آهي. ماڻهو قبر جي سپرد ڪيو ويندو آهي ۽ ان ڪانپوءِ هو اڳين دنيا ۾ اکيون کوليندو آهي تہ جيئن پنهنجي عمل جي مطابق جنت يا جهنم ۾ داخل ڪيو وڃي. انسان کان غيب جي جنهن دنيا ڪي مڃڻ جو مطالبو ڪيو پيو وڃي، ان جون جهلڪيون ۽ ان جا دليل موجوده ڪائنات ۾ پوري طرح موجود آهن. پر مڃيندو اُهوئي آهي جيڪو پهرين کان مڃڻ جي لاءِ تيار هجي. "ايمان" جي راهہ ۾ ماڻهو جڏهن اڌ سفر طي ڪري چڪو هوندو آهي، ان کان پوءِ ئي اُهو ممڪن هوندو آهي تہ ايمان جي دعوت ان جي ذهن جو حصو بڻجي ۽ هو ان کي قبول ڪري وٺي. جيڪو شخص ايمان جي ابتڙ رخ ڏانهن سفر ڪري رهيو هجي، ان کي ايمان جي دعوت ڪڏهن بہ نفعو نہ ٿي پهچائي سگهي.

وَ جَعَلُوْا لِلّٰهِ شُرَكَآءَ الْجِنَّ وَ خَلَقَهُمْ وَ خَرَقُوْا لَهٗ بَنِيْنَ وَ بَنٰتٍۭ بِغَيْرِ عِلْمٍ ؕ سُبْحٰنَهٗ وَ
ع ۱۲ تَعٰلٰى عَمَّا يَصِفُوْنَ ۝ بَدِيْعُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ اَنّٰى يَكُوْنُ لَهٗ وَلَدٌ وَّ لَمْ تَكُنْ لَّهٗ
۱۸ صَاحِبَةٌ ؕ وَ خَلَقَ كُلَّ شَيْءٍ ۚ وَ هُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ۝ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ ۚ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ
خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ فَاعْبُدُوْهُ ۚ وَ هُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ وَّكِيْلٌ ۝ لَا تُدْرِكُهُ الْاَبْصَارُ ٚ وَ هُوَ
يُدْرِكُ الْاَبْصَارَ ۚ وَ هُوَ اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ ۝ قَدْ جَآءَكُمْ بَصَآئِرُ مِنْ رَّبِّكُمْ ۚ فَمَنْ اَبْصَرَ
فَلِنَفْسِهٖ ۚ وَ مَنْ عَمِيَ فَعَلَيْهَا ؕ وَ مَاۤ اَنَا عَلَيْكُمْ بِحَفِيْظٍ ۝

۽ انهن جنن کي الله جو شريڪ قرار ڏنو، حالانڪ الله ئي کين پيدا ڪيو آهي. ۽ بنا علم جي سندس لاءِ پٽ ۽ ڌيئرون ٺاهيون اٿن. پاڪ ۽ مٿانهون آهي هو اِنهن ڳالهين کان جيڪي هِي بيان ڪن ٿا. هو آسمانن ۽ زمين جو بڻائيندڙ آهي. ان جو ڪو پٽ ڪيئن ٿي سگهي ٿو جڏهن تہ ڪيس ڪا زال ئي نہ آهي ۽ اُن هر شيءِ کي پيدا ڪيو آهي ۽ هو هر شيءِ کان باخبر آهي. اُهو آهي الله توهان جو رب انهيءَ کانسواءِ ڪوبہ معبود نہ آهي. اُهوئي هر شيءِ جو خالق آهي، تنهن ڪري سندس ئي عبادت ڪريو ۽ اُهو هر شيءِ جو ڪارساز آهي. ان کي نگاهون ڏسي نٿيون سگهن، پر هو نگاهن کي ڏسي ٿو. هو وڏو باريڪ بين ۽ وڏو باخبر آهي. هاڻي توهان وٽ توهان جي رب طرفان روشن دليل اچي چڪا آهن. پوءِ جنهن اکين کان ڪم ورتو تہ پنهنجي لاءِ ئي ڪيائين ۽ جيڪو انڌو ٿيو ان جو وبال مٿس ئي اهي. ۽ آءٌ اوهان تي ڪو نگران نہ آهيان. ۱۰۰-۱۰٤

---

قديم زماني کان انسان جي اِها ڪمزوري رهي آهي تہ جنهن شيءِ ۾ ڪو امتياز يا ڪو اسرار ڏسندو آهي تہ ان کي هو خدا جو شريڪ سمجهي وٺندو آهي ۽ ان کان مدد وٺڻ يا ان جي آفتن کان بچڻ

جي لاءِ اُن جي پوڄا ڪرڻ لڳندو آهي. اُن ذهن جي ڪري گهڻن ئي ماڻهن فرشتن ۽ ستارن ۽ جنن ڪي پوڄڻ شروع ڪري ڇڏيو. حالانڪ انهن شين جو خدا نہ هجڻ جو ڪليل ثبوت اِهو آهي تہ انهن جي اندر ”خلقڻ“ جي صفت نہ آهي. اُنهن نہ پنهنجي پاڻ کي پيدا ڪيو ۽ نہ اُهي ڪنهن ٻئي شيءِ جي پيدا ڪرڻ تي قادر آهن. انهن کي خود ئي ڪنهن ٻي هستيءَ تخليق ڪيو آهي. پوءِ جيڪو خالق آهي اُهو خدا هوندو يا جيڪا مخلوق آهي اُها خدا بڻجي ويندو.

هڪ وڻ کي ڪمال درجي تائين اُهي سڀ شيون پهچنديون آهن جيڪي ان جي بقا جي لاءِ ضروري آهن. اهڙوئي حال ڪائنات جي سيني شين جو آهي. جڏهن اِها حقيقت آهي تہ انهن شين کي جيڪو ڪجهہ ملي ٿو ڪنهن ڏيڻ واري جي ڏيڻ سان ملي ٿو تہ يقيناً ڏيڻ وارو هرجز ۽ ڪُل کان باخبر هوندو. جيڪڏهن هو ان کان باخبر نہ هجي تہ هر شيءِ جي سندس ضرورت جي مطابق ڪارسازي ڪهڙي طرح ڪندو. جيڪو خدا اِهڙين ڪامل صفتن جو مالڪ هجي، اُهو آخر ڪهڙي ضرورت جي لاءِ ڪنهن کي پنهنجي خدائي ۾ شريڪ ڪندو.

انسان خدا کي ظاهري صورت ۾ ڏسڻ چاهيندو آهي ۽ جڏهن هو ان کي ظاهري صورت ۾ نظر نہ ٿو اچي تہ هو ٻين نظر ايندڙ شين کي خدا فرض ڪري انهن مان پنهنجي ظاهر پرستي جي تسڪين حاصل ڪري ٿو. پر اِهو خدا جي هستي جو تمام گهٽ اندازو لڳائڻ آهي. جيڪو خدا اِهڙو عظيم هجي جو ايڏي وڏي ڪائنات پيدا ڪري ۽ انتهائي نظم و ضبط سان اُن کي مسلسل هلائيندو رهي، اُهو ايترو معمولي ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ هڪ ڪمزور مخلوق اُن کي پنهنجن اکين سان ڏسي ۽ پنهنجن هٿن سان ڇهي. البت انسان دل جي راهہ ذريعي خدا کي پائي ٿو ۽ يقين جي اک سان ان کي ڏسي ٿو. جيڪو شخص بصيرت جي اک سان ڏسي مڃڻ تي راضي هجي، اهوئي خدا کي لهندو. جيڪو اکين سان ڏسڻ تي اصرار ڪري، اُهو خدا کي پائڻ کان اِهڙي ئي طرح محروم رهندو جهڙي طرح اُهو شخص گلن جي خوشبو کي ڄاڻڻ کان محروم رهندو آهي، جيڪو ان کي ڪيميائي معيارن تي پرکي ڄاڻڻ چاهي.

وَ كَذٰلِكَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ وَ لِيَقُوْلُوْا دَرَسْتَ وَ لِنُبَيِّنَهٗ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿١٠٥﴾ اِتَّبِعْ مَاۤ اُوْحِيَ
اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ ۚ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ وَ اَعْرِضْ عَنِ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٠٦﴾ وَ لَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَاۤ اَشْرَكُوْا ؕ
وَ مَا جَعَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ حَفِيْظًا ۚ وَ مَاۤ اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِوَكِيْلٍ ﴿١٠٧﴾ وَ لَا تَسُبُّوا الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ
مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَيَسُبُّوا اللّٰهَ عَدْوًۢا بِغَيْرِ عِلْمٍ ؕ كَذٰلِكَ زَيَّنَّا لِكُلِّ اُمَّةٍ عَمَلَهُمْ ۪ ثُمَّ اِلٰى
رَبِّهِمْ مَّرْجِعُهُمْ فَيُنَبِّئُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٠٨﴾

۽ اهڙي طرح اسان پنهنجن دليلن کي مختلف طريقن سان بيان ڪندا آهيون، تہ جيئن اُهي (ڪافر) چون تہ تون (ڪتاب) پڙهي آيو آهين ۽ اسان چڱي طرح کولي بيان ڪريون انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي ڄاڻڻ چاهين ٿا. تون رڳو ان شيءِ جي پيروي ڪر جيڪو تنهنجي رب طرفان تو ڏانهن وحي ڪيو پيو وڃي. اُن کانسواءِ ڪو معبود نہ آهي ۽ مشرڪن کان منهن موڙي ڇڏ ۽ جيڪڏهن الله گهري ها تہ اُهي ماڻهو شرڪ نہ ڪن ها. ۽ اسان توکي انهن

تي نگران مقرر نہ ڪيو آهي ۽ نہ وري انهن جي ذميواري تنهنجي مٿان آهي. ۽ الله ڪانسواءِ جن کي اِهي ماڻهو پڪارين ٿا، انهن کي گاريون نہ ڏيو. متان اِهي ماڻهو حد کان گذري جهالت جي ڪري الله کي گهٽ وڌ ڳالهائين. اهڙي طرح اسان هر گروهہ جي نظر ۾ ان جي عملن کي خوشنما بڻائي ڇڏيو آهي. پوءِ انهن سڀني کي پنهنجي رب ڏانهن ورڻو آهي. ان وقت الله انهن کي ٻڌائي ڇڏيندو جيڪي هو ڪندا هئا. ١٠٥-١٠٨

---

هڪڙو ماڻهو اُهو آهي جنهن جي اندر طلب جي نفسيات هجي جيڪو سچائي جي تلاش ۾ رهندو هجي. ٻيا ماڻهو اُهي آهن جيڪي دولت يا اقتدار جو ڪو حصو حاصل ڪري اِهو سمجهڻ لڳندا آهن تہ اُهي ڪامياب ماڻهو آهن. انهن ۾ ڪابہ ڪمي نہ آهي، جنهن کي ٻيو شخص اچي پورو ڪري. حق جي دعوت جڏهن بلند ٿيندي آهي تہ ان کي قبول ڪرڻ وارا اڪثر پهرين قسم جا ماڻهو هوندا آهن. ان جي ابتڙ جيڪي ٻئي قسم جا ماڻهو آهن، اُهي ان کي ڪا قابل لحاظ شيءِ نہ ٿا سمجهن. اُهي ڪڏهن بہ سنجيدگي سان ان تي غور نہ ٿا ڪن. ان ڪري ان جي اهميت بہ انهن تي واضح نہ ٿيندي آهي. اهڙين حالت ۾ حق جي دعوت جا ٻہ مقصد هوندا آهن. جيڪي سچا طالب آهن، انهن جي طلب جو جواب ڏيڻ ۽ جن ماڻهن کي طلب نہ آهي انهن تي حجت قائم ڪرڻ. پهرين قسم جي ماڻهن جي لاءِ دعوت جو نشانو اُهو هوندو آهي تہ اُهي ان کي مڃڻ وارا بڻجي وڃن ۽ ٻئي قسم جي ماڻهن جي لاءِ اِهو آهي تہ هو چئي ڏين تہ "تو ٻڌائي ڇڏيو، ڳالهہ اسان تائين پهچائي ڇڏي".

جيڪي ماڻهو دعوت جو انڪار ڪندا آهن، اُهي پنهنجي انڪار کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ طرح طرح جون ڳالهيون ڪندا آهن. اهڙي موقعي تي داعي جي دل ۾ اِهو خيال اچڻ لڳندو آهي تہ هُو دعوت جي انداز ۾ اهڙي تبديلي ڪري ڇڏي جنهن سان (مدعو) يعني دعوت ٻڌڻ وارن جي لاءِ قابل قبول بڻجي وڃي. پر ان قسم جو انحراف درست نہ آهي. داعي کي هميشہ انهيءَ ڍنگ تي قائم رهڻ کپي جيڪو الله جي طرفان تلقين ڪيل آهي. ڇاڪاڻ تہ اصل مقصد انسان کي خدا سان جوڙڻ آهي، نہ وري ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان ماڻهن کي پنهنجي گروهہ ۾ شامل ڪرڻ. ٻيو وري اِها ڳالهہ بہ غلط آهي تہ مدعو جي رويي جي ڪري جوش ۾ اچي اِهڙيون ڳالهيون ڪيون وڃن جو ان جي گمراهي جاهلاڻي بد ڪلامي تائين پهچي وڃي.

ماڻهو جن خاص روايتن ۾ پيدا ٿيندو آهي ۽ جنهن فڪر ۽ نظريي ڪان هو مانوس ٿي ويندو آهي، انهن جي حق ۾ ان جي اندر هڪ طرح جو تعصب پيدا ٿي ويندو آهي. ان جي مطابق ان جو هڪ فڪري ڍانچو بڻجي ويندو آهي جنهن جي تحت هو سوچيندو آهي. اهوئي فڪري ڍانچو حق کي قبول ڪرڻ جي راهہ ۾ سڀني کان وڏي رڪاوٽ آهي. جيستائين ماڻهو ان فڪري ڍانچي کي نہ ٿو ٽوڙي، ان جي ذهن ۾ اُهو دروازو نہ ٿو کُلي، جنهن جي ذريعي حق جو آواز ان جي اندر داخل ٿئي.

وَ اَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ لَئِنْ جَآءَتْهُمْ اٰيَةٌ لَّيُؤْمِنُنَّ بِهَا ؕ قُلْ اِنَّمَا الْاٰيٰتُ عِنْدَ
اللّٰهِ وَ مَا يُشْعِرُكُمْ ۙ اَنَّهَآ اِذَا جَآءَتْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٠٩﴾ وَ نُقَلِّبُ اَفْـِٕدَتَهُمْ وَ اَبْصَارَهُمْ كَمَا
ع ١٣ لَمْ يُؤْمِنُوْا بِهٖٓ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّ نَذَرُهُمْ فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿١١٠﴾ ع ١٩

الجزء الثامن (٨)

وَ لَوْ اَنَّنَا نَزَّلْنَآ اِلَيْهِمُ الْمَلٰٓئِكَةَ وَ كَلَّمَهُمُ الْمَوْتٰى وَ حَشَرْنَا عَلَيْهِمْ كُلَّ شَيْءٍ قُبُلًا مَّا
كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْٓا اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ يَجْهَلُوْنَ ﴿١١١﴾

۽ اِهي ماڻهو الله جا وڏا وڏا قسم کڻي چوندا آهن تہ جيڪڏهن وٽن ڪا نشاني اچي وڃي تہ هو ضرور ان تي ايمان آڻيندا. چئو تہ نشانيون تہ الله وٽ آهن ۽ توهان کي ڪهڙي خبر تہ جيڪڏهن نشانيون اچي وڃن تڏهن بہ اِهي ايمان نہ آڻيندا. ۽ اسان سندن دلين ۽ نگاهن کي ڦيرائي ڇڏيندا سون جيئن انهن ماڻهن ان تي پهرين ڀيري ايمان نہ آندو هو ۽ اسان کين سندن سرڪشيءَ ۾ ڀٽڪندڙ ڇڏي ڏينداسون. ۽ جيڪڏهن اسان انهن تي فرشتا بہ لاهيون ها ۽ مُئل انهن سان ڳالهائين ها ۽ اسان سڀئي شيون انهن جي سامهون آڻيون ها، تڏهن بہ اِهي ماڻهو ايمان آڻڻ وارا نہ هئا. سواءِ اُن جي جيڪي الله چاهي، پر انهن مان اڪثر ماڻهو ناداني جون ڳالهيون ڪن ٿا. ١٠٩-١١١

---

حق هڪ ماڻهو جي سامهون دليل سان ايندو آهي ۽ هو ان جو انڪار ڪري ڇڏيندو آهي تہ ان جي وجهہ هميشہ هڪ هوندي آهي، ڳالهہ کي اُن جي صحيح رُخ کان ڏسڻ جي بجاءِ اُبتڙ رخ کان ڏسڻ. ڪا ڳالهہ چاهي ڪيتري ئي دليل سان هجي، ماڻهو جيڪڏهن اُن کي مڃڻ نہ چاهي تہ هو اُن کي رد ڪرڻ جي لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ لفظ ڳولي وٺندو. مثلاً داعي جي دليلن کي دليل جي حيثيت سان ڏسڻ جي بجاءِ هو اِهو بحث ڇيڙيندو تہ توکان سواءِ ٻيا جيڪي بزرگ آهن ڇا اُهي سڀ حق کان محروم هئا ۽ اهڙي قسم جون ٻيون ڳالهيون.

جنهن ماڻهو جي اندر اِهو مزاج هجي، اُن جو سڌي راهہ تي اچڻ انتهائي مشڪل آهي. هو هر ڳالهہ کي غلط رخ ڏئي اُن جي انڪار ڪرڻ جو هڪ بهانو تلاش ڪري سگهي ٿو. نظرياتي دليلن کي رد ڪرڻ جي لاءِ جيڪڏهن اُن کي اُهي لفظ ملي رهيا هجن تہ هي بزرگن جي مسلڪ جي خلاف آهي تہ محسوس ٿيندڙ مشاهدي کي رد ڪرڻ جي لاءِ هو هي لفظ ڳولهي وٺندو تہ اِهو نظر جو دوکو آهي. اُن جي حقيقت هڪ فرضي طلسم کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي. جيڪو مزاج نظرياتي دليل کي مڃڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي ويو هو، اهوئي مزاج محسوس ٿيندڙ دليل کي مڃڻ ۾ بہ رڪاوٽ بڻجي ويندو. ماڻهو هاڻي بہ اهڙي طرح ئي محروم رهجي ويندو، جهڙي طرح هو پهرين محروم رهجي ويو هو.

اهڙي قسم جا ماڻهو پنهنجي نفسيات جي لحاظ کان سرڪش هوندا آهن. اُهي هر حال ۾ پاڻ کي اُوچو ڏسڻ چاهين ٿا. هڪ داعي جڏهن انهن جي سامهون حق جو پيغام کڻي ايندو آهي تہ اڪثر ايئن ٿيندو آهي تہ هو ماحول ۾ اجنبي هوندو آهي، هو وقت جي عظمتن کان خالي هوندو آهي. اُن سان پاڻ کي منسوب ڪرڻ پنهنجي حيثيت کي گهٽ ڪرڻ جي هم معنيٰ هوندو آهي. اُن ڪري برتري جي نفسيات رکڻ وارا ماڻهو اُن کي قبول ناهن ڪري سگهندا. اُهي طرح طرح جا سبب ڄاڻائي اُن کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندا آهن.

دانائي اِها آهي تہ ماڻهو خدا جي نقشي کي مڃي ۽ اُن جي مطابق پنهنجي ذهن کي هلائڻ جي لاءِ تيار ٿئي. اُن جي اُبتڙ ناداني اها آهي تہ ماڻهو خدا جي نقشي جي بجاءِ پنهنجو هٿرادو معيار قائم ڪري ۽ چئي تہ جيڪا شيءِ مون کي اُن معيار تي ملندي آئون اُن کي مڃيندس ۽ جيڪا شيءِ اُن معيار تي نہ ملندي تہ اُن کي نہ مڃيندس. اهڙي ماڻهو جي لاءِ هن دنيا ۾ رڳو ڀٽڪڻ آهي. خدا جي هن دنيا ۾ ماڻهو خدا جي

مقرر ڪيل طريقن جي پيروي ڪري منزل تائين پهچي سگهي ٿو نہ وري مقرر ڪيل طريقي کي ڇڏي.

وَ كَذٰلِكَ جَعَلْنَا لِكُلِّ نَبِيٍّ عَدُوًّا شَيٰطِيْنَ الْاِنْسِ وَ الْجِنِّ يُوْحِيْ بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضٍ زُخْرُفَ الْقَوْلِ غُرُوْرًا ؕ وَ لَوْ شَآءَ رَبُّكَ مَا فَعَلُوْهُ فَذَرْهُمْ وَ مَا يَفْتَرُوْنَ ﴿١١٢﴾ وَ لِتَصْغٰۤى اِلَيْهِ اَفْـِٕدَةُ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ وَ لِيَرْضَوْهُ وَ لِيَقْتَرِفُوْا مَا هُمْ مُّقْتَرِفُوْنَ ﴿١١٣﴾

۽ اهڙي طرح اسان شرير ماڻهن ۽ شرير جنن کي هر نبيءَ جو دشمن بڻائي ڇڏيو. اُهي هڪٻئي کي ٺڳيءَ واريون ڳالهيون سيکاريندا آهن دوکو ڏيڻ جي لاءِ ۽ جيڪڏهن تنهنجو رب گهري ها تہ هو ايئن نہ ڪري سگهن ها. تنهن ڪري تون کين سندن ڪوڙ گهڙڻ ۾ ڇڏي ڏي. ۽ اهو ان لاءِ آهي تہ انهن ڏانهن انهن ماڻهن جون دليون لاڙو ڪن، جيڪي آخرت تي يقين نٿا رکن. ۽ تہ جيئن هو ان کي پسند ڪن ۽ جيڪا ڪمائي انهن کي ڪرڻي آهي اُها ڪري وٺن. ١١٢-١١٣

---

ابن جرير حضرت ابوذر کان نقل ڪيو آهي تہ آئون رسول اللهﷺ جي مجلس ۾ شريڪ ٿيس. اها هڪ ڊگهي مجلس هئي. پاڻﷺ فرمايو اي ابوذر! ڇا تو نماز پڑهي ورتي. مون چيو نہ اي خدا جا رسولﷺ. پاڻ فرمايو: اُٿ ۽ ٻہ رڪعت نماز پڙهہ. هو نماز پڙهي ٻيهر مجلس ۾ اچي ويٺا تہ پاڻﷺ فرمايو: اي ابوذر ڇا تون جنن ۽ انسانن جي شيطانن جي مقابلي ۾ الله کان پناهہ گهري. مون چيو نہ اي خدا جا رسول! ڇا انسانن ۾ بہ شيطان هوندا آهن. پاڻﷺ فرمايو ها، اُهي شيطان جنن کان بہ وڌيڪ بُرا هوندا آهن. (نعم هم شر من شياطين الجن- تفسير ابن ڪثير)

هتي انساني شيطانن مان مراد اُهي ماڻهو آهن جيڪي دعوت حق کي بي اعتبار ثابت ڪرڻ جي لاءِ اڳواڻ جو ڪردار ادا ڪندا آهن. اهي ماڻهو آهن جيڪي هٿ ٺوڪيل مذهب جي بنياد تي عزت ۽ مقبوليت جو مقام حاصل ڪيل هوندا آهن. جڏهن حق جي دعوت پنهنجي خالص شڪل ۾ بلند ٿيندي آهي تہ انهن کي محسوس ٿيندو آهي تہ اها انهن کي بي نقاب ڪري رهي آهي. اِهڙن ماڻهن جي لاءِ سڌو رستو تہ اُهو هو تہ هو حق جي وضاحت کانپوءِ ان کي مڃي وٺن، پر حق جي مقابلي ۾ سندن مقام انهن کي وڌيڪ پيارو هوندو آهي. پنهنجي حيثيت کي بچائڻ جي لاءِ اُهي خود داعي ۽ ان جي دعوت کي مشڪوڪ بڻائڻ ۾ لڳي ويندا آهن. ان مقصد جي لاءِ خوبصورت لفظن جو سهارو وٺندا آهن. هو داعي ۽ ان جي دعوت ۾ اهڙا شوشا ڪڍندا آهن جيڪي بي حقيقت هوندا آهن، پر گهڻا ماڻهو انهن کان متاثر ٿي شڪ ۾ پئجي ويندا آهن.

موجوده دنيا ۾ جيڪي امتحاني حالتون پيدا ڪيون ويون آهن، انهن ۾ هڪ اها آهي تہ هتي صحيح ڳالهہ ڪرڻ واري کي بہ لفظ ملي وڃن ٿا ۽ غلط ڳالهہ چوڻ واري کي بہ. حق جو داعي جيڪڏهن حق کي دليلن جي زبان ۾ بيان ڪري سگهي ٿو تہ انهيءَ سان گڏ باطل پرستن کي بہ اهو موقعو حاصل آهي تہ هو حق جي خلاف ڪجهہ خوبصورت لفظ ڳالهائي سگهن جيڪي ماڻهن کي دليل نظر اچن ۽ هو انهن کان متاثر ٿي حق جو ساٿ ڏيڻ ڇڏي ڏين. اِها صورتحال امتحان جي لاءِ آهي. ان ڪري اِها لازمي قيامت تائين باقي رهندي، تنهن ڪري هن دنيا ۾ ماڻهوءَ کي هِن امتحان ۾ ويهڻو آهي تہ هو سچي دليل

۾ بي بنياد ڳالهين جي وچ ۾ فرق ڪري ۽ بي بنياد ڳالهين کي رد ڪري سچي دليل کي قبول ڪري.

انساني شيطان پنهنجي ذهانت سان حق جي خلاف جيڪي فريب ڏيڻ لاءِ شوشا ڪيندا آهن، اُهي انهن ئي ماڻهن کي متاثر ڪندا آهن جيڪي آخرت جي فڪر کان خالي هجن. آخرت جو انديشو ماڻهوءَ کي انتهائي سنجيده بڻائي ڇڏي ٿو ۽ جيڪو شخص سنجيده هجي، ان کان ڳالهين جي حقيقت ڪڏهن بہ لِڪي نہ ٿي سگهي. پر جيڪڏهن ماڻهو آخرت جي خوف کان خالي هجن، اهي حق جي معاملي ۾ سنجيده نہ هوندا آهن، ان ڪري اُهي شوشي ۽ دليلن جو فرق بہ سمجهي نہ ٿا سگهن.

اَفَغَيْرَ اللّٰهِ اَبْتَغِيْ حَكَمًا وَّ هُوَ الَّذِيْۤ اَنْزَلَ اِلَيْكُمُ الْكِتٰبَ مُفَصَّلًا ؕ وَ الَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ
الْكِتٰبَ يَعْلَمُوْنَ اَنَّهٗ مُنَزَّلٌ مِّنْ رَّبِّكَ بِالْحَقِّ فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿١١٤﴾ وَ تَمَّتْ
كَلِمَتُ رَبِّكَ صِدْقًا وَّ عَدْلًا ؕ لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِهٖ ۚ وَ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿١١٥﴾ وَ اِنْ تُطِعْ
اَكْثَرَ مَنْ فِي الْاَرْضِ يُضِلُّوْكَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَ اِنْ هُمْ اِلَّا
يَخْرُصُوْنَ ﴿١١٦﴾ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ مَنْ يَّضِلُّ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۚ وَ هُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿١١٧﴾

ڇا آئون الله کانسواءِ ڪنهن ٻئي کي فيصلو ڪرڻ وارو ڳوليان، حالانڪ هُن اوهان ڏانهن واضح ڪتاب نازل ڪيو آهي. ۽ جن ماڻهن کي اسان اڳ ۾ ڪتاب ڏنو هو سي ڄاڻندا آهن تہ اِهو تنهنجي رب طرفان واقعي برحق نازل ٿيل آهي، تنهن ڪري تون شڪ ڪندڙن مان نہ ٿجان. ۽ تنهنجي رب جي ڳالهہ پوري سچي انصاف واري آهي. سندس ڳالهہ کي ڪوبہ بدلائڻ وارو نہ آهي ۽ اُهو ٻڌڻ وارو ۽ ڄاڻڻ وارو آهي ۽ جيڪڏهن تون زمين تي رهندڙ اڪثر ماڻهن جي چوڻ تي هلندين تہ هو توکي خدا جي رستي کان ڀٽڪائي ڇڏيندا. هو رڳو گمان جي پيروي ڪندا آهن ۽ قياس آرائيون ڪندا آهن. بيشڪ تنهنجو رب چڱي طرح ڄاڻي ٿو، جيڪي سندس رستي کان ڀٽڪيل آهن ۽ هدايت وارن کي بہ خوب ڄاڻي ٿو. ١١٤-١١٧

---

قرآن ۾ ذبح ڪرڻ جي متعلق حڪمَ نازل ٿيا ۽ اهو چيو ويو تہ مئل جانور نہ کائو ۽ ذبح ڪيل کائو تہ ڪجهہ ماڻهن چيو: مسلمانن جو مذهب بہ عجيب آهي. اُهي پنهنجي هٿ سان ماريل جانور کي حلال سمجهن ٿا ۽ جنهن کي الله ماريو هجي ان کي حرام چون ٿا. هِن جملي ۾ لفظن سان کيڏڻ کان سوا ٻيو ڪو دليل نہ آهي. پر گهٽائي ماڻهو اُن کي ٻڌي دوکي ۾ اچي ويا ۽ اسلام کي شڪ جي نظر سان ڏسڻ لڳا. هميشہ ايئن ئي ٿيندو آهي. هر زماني ۾ اهڙا ماڻهو گهٽ هوندا آهن جيڪي ڳالهين کي اُن جي اصل حقيقت جي اعتبار کان سمجهندا هجن. اڪثر ماڻهو لفظن جي چڪر ۾ ڦاٿل رهندا آهن. اُهي خيالي ڳالهين کي حقيقت سمجهي وٺندا آهن، رڳو ان ڪري جو انهن کي خوبصورت لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

پر هي دنيا اهڙي دنيا آهي جتي سڀني بنيادي حقيقتن جي باري ۾ خدا جا واضح حڪم اچي چڪا آهن. اُن ڪري هِتي ڪنهن جي لاءِ اِهڙي قسم جي گمراهي ۾ پوڻ قابل معافي نہ ٿو ٿي سگهي. خدا جو ڪلام هڪ پڌري ڪسوٽي آهي، جنهن تي جانچي هر ماڻهو معلوم ڪري سگهي ٿو تہ اُن جي ڳالهہ رڳو لفظي فريب آهي يا ڪا حقيقت آهي. خدا ماضي، حال ۽ مستقبل جي سڀني ضروري معاملن بابت سچو بيان ڏئي ڇڏيو آهي. هُن انساني تعلقن جي سڀني پهلوئن جي باري ۾ مڪمل انصاف جي راهہ

ٻڌائي ڇڏي آهي. ماڻهو جيڪڏهن واقعي سنجيده هجي ته ان جي لاءِ اِهو معلوم ڪرڻ ڪجھ به مشڪل نه آهي ته حق ڇا آهي ۽ ناحق ڇا. ان ڪانپوءِ شڪ ۾ اُهوئي پوندو جنهن جو حال اِهو هجي جو ان جي سوچ خدا جي ڪلام ڪانسواءِ ٻين شين جي زير اثر ڪم ڪندي هجي. جيڪو ماڻهو پنهنجي سوچ ڪي خدائي حقيقتن جي موافق بڻائي وٺندو، ان جي لاءِ هتي فڪري گمراهي جو ڪو به امڪان نه آهي.

هن خدائي وضاحت ڪانپوءِ به جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڀٽڪي ٿو ته خدا ڪي ان جو حال چڱي طرح معلوم آهي. هُو خوب ڄاڻي ٿو ته اُهو ڪير آهي، جنهن پنهنجي وڏائي قائم رکڻ جي لاءِ پاڻ ڪان ٻاهر ظاهر ٿيڻ واري سچائي ڪي ڪا اهميت نه ڏني. ڪير آهي جنهن ڪي سندس تعصب اُن قابل نه ڇڏيو جو هو ڳالھ ڪي سمجھي سگھي. ڪنهن سستي نمائش جي رغبت جي ڪري سچائي جي آواز تي ڌيان نه ڏنو. ڪير آهي جيڪو حسد جي نفسيات ۾ مبتلا ٿيڻ جي ڪري حق ڪان اڻڄاڻ رهيو.

فَكُلُوْا مِمَّا ذُكِرَ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ اِنْ كُنْتُمْ بِاٰيٰتِهٖ مُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٨﴾ وَ مَا لَكُمْ اَلَّا تَاْكُلُوْا مِمَّا
ذُكِرَ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ وَ قَدْ فَصَّلَ لَكُمْ مَّا حَرَّمَ عَلَيْكُمْ اِلَّا مَا اضْطُرِرْتُمْ اِلَيْهِ ؕ وَ اِنَّ
كَثِيْرًا لَّيُضِلُّوْنَ بِاَهْوَآئِهِمْ بِغَيْرِ عِلْمٍ ؕ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ بِالْمُعْتَدِيْنَ ﴿١١٩﴾ وَ ذَرُوْا ظَاهِرَ
الْاِثْمِ وَ بَاطِنَهٗ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْسِبُوْنَ الْاِثْمَ سَيُجْزَوْنَ بِمَا كَانُوْا يَقْتَرِفُوْنَ ﴿١٢٠﴾ وَ لَا
تَاْكُلُوْا مِمَّا لَمْ يُذْكَرِ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ وَ اِنَّهٗ لَفِسْقٌ ؕ وَ اِنَّ الشَّيٰطِيْنَ لَيُوْحُوْنَ اِلٰٓى
ع ١٤ ١ اَوْلِيٰٓـِٕهِمْ لِيُجَادِلُوْكُمْ ۚ وَاِنْ اَطَعْتُمُوْهُمْ اِنَّكُمْ لَمُشْرِكُوْنَ ﴿١٢١﴾ ع

پوءِ کائو ان جانور مان جنهن تي الله جو نالو ورتو وڃي، جيڪڏهن توهان اُن جي آيتن تي ايمان رکو ٿا ۽ ڪهڙو سبب آهي جو توهان ان جانور مان نه کائو جنهن تي الله جو نالو ورتو ويو آهي، حالانڪ الله تفصيل سان بيان ڪري ڇڏيو آهن اُهي شيون جن ڪي اُن توهان تي حرام ڪيو آهي. سواءِ ان جي جو اوهان ان ڏانهن لاچار ڪيا وڃو. ۽ يقيناً گھڻائي ماڻهو بغير ڄاڻ جي پنهنجن خواهشن مطابق گمراھ ڪندا آهن. بيشڪ تنهنجو رب چڱي طرح ڄاڻي ٿو حد ڪان لنگھندڙن ڪي. ۽ توهان گناھ جي ظاهر ڪي به ڇڏي ڏيو ۽ ان جي باطن ڪي به. جيڪي ماڻهو گناھ ڪمائي رهيا آهن، انهن ڪي ان جو جلد بدلو ملي ويندو، جيڪو هو ڪري رهيا هئا. ۽ توهان ان جانور مان نه کائو جنهن تي الله جو نالو نه ورتو ويو هجي. يقيناً اِها نافرماني آهي ۽ شيطان پنهنجن ساٿين جي دلين ۾ شڪ وجھي رهيا آهن ته جيئن هو اوهان سان جهڳڙو ڪن. ۽ جيڪڏهن اوهان انهن جي اطاعت ڪئي ته اوهان به مشرڪ ٿي ويندؤ. ١١٨-١٢١

---

دنيا ۾ جيڪو ڪجھ آهي اُهو سڀ اسان جي لاءِ ”غير جو مال“ آهي، ڇاڪاڻ ته سڀ خدا جو آهي. ان ڪي پنهنجي لاءِ جائز ڪرڻ جي واحد صورت اِها آهي ته ان ڪي خدا جي ٻڌايل طريقي سان حاصل ڪيو وڃي ۽ ان ڪي خدا جي ٻڌايل طريقي تي استعمال ڪيو وڃي. اِهوئي معاملو جانورن جو به آهي.

جانور اسان جي قيمتي خوراڪ آهن. پر سوال اِهو آهي ته انهن ڪي خوراڪ بڻائڻ جو حق اسان ڪي ڪيئن مليو آهي. جانور ڪي خدا بڻائي ٿو ۽ اُهوئي ان جي پرورش ڪري تيار ڪري ٿو، پوءِ اسان

جي لاءِ ڪيئن جائز ٿيو جو اسان ان کي پنهنجي خوراڪ بڻايون. ذبح جي وقت الله جو نالو وٺڻ انهيءَ سوال جو جواب آهي. الله جو نالو وٺڻ ڪا لفظي رسم نہ آهي. اِها اصل ۾ جانور تي خدا جي مالڪ هجڻ واري حيثيت کي تسليم ڪرڻ آهي ۽ ان جي عطا تي خدا جو شڪر ادا ڪرڻ آهي. ذبح جي وقت الله جو نالو وٺڻ انهيءَ اعتراف ۽ شڪر جي هڪ علامت آهي ۽ اِهو اعتراف ۽ شڪر اُها ”قيمت“ آهي، جنهن کي ادا ڪرڻ سان مالڪ جي نزديڪ ان جو هڪ جانور اسان جي لاءِ حلال ٿي ويندو آهي. پوءِ جيڪڏهن ڪنهن کي اتفاق سان مجبوري پيش اچي وڃي، ان کي هِن پابندي کان آزاد ڪيو ويو آهي.

جڏهن ماڻهو حرام ۽ حلال، جائز يا ناجائز ۾ خدا جو حڪم ڇڏيندو آهي تہ ان ڪانپوءِ وهم ۽ وسوسا ان جي جاءِ وٺي ٿا ڇڏين. ماڻهو وهم ۽ وسوسن وارن خيالن جي ڪري شين جي باري ۾ طرح طرح جا رايا قائم ڪري وٺندا آهن. انهن وهمن جي پويان ڪجھ هٿ ٺوڪيل فلسفا هوندا آهن ۽ انهن جي بنياد تي ان جا ڪجھ ظاهري طريقا قائم ٿيندا آهن. جيڪي ماڻهو الله جا فرمانبردار ٿيڻ چاهين، انهن جي لاءِ ضروري هوندو آهي تہ انهن وهمي خيالن کي فڪري ۽ عملي لحاظ کان مڪمل طور ڇڏي ڏين.

ڪائڻ پيئڻ ۽ ٻين ڪمن ۾ هر قوم جو هڪ رواجي دين بڻجي ويندو آهي. ان رواجي دين جي باري ۾ ماڻهن جا جذبا تمام شديد هوندا آهن. ڇاڪاڻ تہ ان جي حق ۾ اسلاف ۽ بزرگن جي تصديق شامل هوندي آهي. ان تان هٽڻ بزرگن جي دين کان هٽڻ جي هم معنيٰ بڻجي ويندو آهي. ان ڪري جڏهن حق جي دعوت ان رواجي دين سان ٽڪرائيندي آهي تہ حق جي دعوت جي خلاف طرح طرح جا اعتراض ڪيا وڃن ٿا. وقت جا وڏا اهڙيون خوش ڪندڙ ڳالهيون ڪندا آهن جن سان اُهي پنهنجي عوام کي مطمئن ڪري سگهن تہ توهان جو رواجي دين صحيح آهي ۽ هِي ”نئون دين“ بلڪل باطل آهي. پر الله هر شيءِ کان باخبر آهي. قيامت ۾ جڏهن هو حقيقتن کي کوليندو تہ هر ماڻهو ڏسي وٺندو تہ هو حقيقت جي زمين تي بيٺل هو يا وهم ۽ وسوسن واري زمين تي.

اَوَ مَنْ كَانَ مَيْتًا فَاَحْيَيْنٰهُ وَ جَعَلْنَا لَهٗ نُوْرًا يَّمْشِيْ بِهٖ فِي النَّاسِ كَمَنْ مَّثَلُهٗ فِي الظُّلُمٰتِ
لَيْسَ بِخَارِجٍ مِّنْهَا ؕ كَذٰلِكَ زُيِّنَ لِلْكٰفِرِيْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۲۲﴾ وَ كَذٰلِكَ جَعَلْنَا فِيْ كُلِّ
قَرْيَةٍ اَكٰبِرَ مُجْرِمِيْهَا لِيَمْكُرُوْا فِيْهَا ؕ وَ مَا يَمْكُرُوْنَ اِلَّا بِاَنْفُسِهِمْ وَ مَا يَشْعُرُوْنَ ﴿۱۲۳﴾ وَ
اِذَا جَآءَتْهُمْ اٰيَةٌ قَالُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ حَتّٰى نُؤْتٰى مِثْلَ مَاۤ اُوْتِيَ رُسُلُ اللّٰهِ ؔ اَللّٰهُ اَعْلَمُ حَيْثُ وقف لازم وقف منزل
يَجْعَلُ رِسَالَتَهٗ ؕ سَيُصِيْبُ الَّذِيْنَ اَجْرَمُوْا صَغَارٌ عِنْدَ اللّٰهِ وَ عَذَابٌ شَدِيْدٌۢ بِمَا كَانُوْا
يَمْكُرُوْنَ ﴿۱۲۴﴾

ڇا اُهو ماڻهو جيڪو مئل هو پوءِ اسان اُن کي زندگي ڏني ۽ اسان ان کي هڪ روشني عطا ڪئي، جنهن سان هو ماڻهن ۾ هلي ٿو سو اُن ماڻهو وانگر ٿي سگهي ٿو جيڪو اونداهين ۾ پيو هجي ۽ ان مان نڪرڻ وارو نہ هجي. اهڙي طرح ڪافرن جي نظر ۾ سندن عمل خوشنما ڪيا ويا آهن. ۽ اهڙي طرح اسان هر بستي ۾ گنهگارن جا سردار رکي ڇڏيا آهن تہ هو اُتي مڪر ۽ فريب ڪن. حالانڪ هو جيڪو مڪر ۽ فريب ڪن ٿا پنهنجي ئي خلاف

كندا آهن. پر هو ان جو شعور نہ ٿا رکن. ۽ جڏهن انهن وٽ ڪا نشاني اچي ٿي تہ هو چون ٿا تہ اسان هرگز نہ مڃينداسون، جيستائين اسان کي بہ اهوئي نہ ڏنو وڃي جيڪو خدا جي پيغمبرن کي عطا ڪيو ويو آهي. الله ئي بهتر ڄاڻي ٿو تہ پنهنجي رسالت ڪنهن کي بخشي. جيڪي ماڻهو مجرم آهن تن کي ضرور الله وٽ ذلت نصيب ٿيندي ۽ سخت عذاب بہ، ان ڪري جو هو مڪر ڪندا هئا. ١٢٢-١٢٤

---

الله جي نظر ۾ اهو شخص زنده آهي جنهن جي سامهون هدايت جي روشني اچي تہ هو اُن کي پنهنجي رستي جي روشني بڻائي وٺي. ان جي مقابلي ۾ مئل اهو آهي جيڪو هدايت جي روشنيءَ کان محروم ٿي باطل جي اونداهين ۾ ڀٽڪي رهيو هجي.

مئل ماڻهو وهم ۽ تعصبن جي ڄار ۾ ايترو ڦاٿل هوندو آهي جو سڌيون ۽ سچيون حقيقتون ان جي ذهن جي گرفت ۾ نہ ٿيون اچن. هو شين جي اصل کان ايترو بيخبر هوندو آهي جو لفظي بحث ۽ حقيقي ڪلام ۾ فرق نہ ٿو ڪري سگهي. هو پنهنجي وڏائي جي تصور ۾ ايترو ٻڏل هوندو آهي جو ڪنهن ٻئي جي طرفان آيل سچائيءَ جو اعتراف ڪرڻ ان جي لاءِ ممڪن نہ ٿو رهي. ان جي ذهن تي رواجي خيالن جو ايترو غلبو هوندو آهي جو ان کان هٽي ڪري ڪنهن ٻئي معيار تي هو شين کي جانچي نہ ٿو سگهي. پنهنجن انهن ڪمزورين جي ڪري هو اونداهين ۾ ڀٽڪندو رهي ٿو. بظاهر زنده هوندي بہ هو هڪ مرده انسان بڻجي وڃي ٿو.

ان جي ابتڙ جيڪو ماڻهو هدايت جي لاءِ پنهنجو سينو کولي ٿو ڇڏي، اهو هر قسم جي نفسياتي مونجهارن مان آزاد ٿي ويندو آهي. سچائيءَ کي سڃاڻڻ ۾ ان کي ذرو بہ دير نہ لڳندي آهي. لفظن جا پردا ڪڏهن بہ ان جي لاءِ حقيقت جو چهرو ڏسڻ ۾ رڪاوٽ نہ ٿا بڻجن. ذوق ۽ عادتن جا مسئلا ان جي زندگي ۾ ڪڏهن بہ اهو مقام حاصل نہ ٿا ڪن تہ ان جي ۽ حق جي وچ ۾ رڪاوٽ بڻجن. سچائي ان جي لاءِ هڪ اهڙي روشن حقيقت بڻجي ٿي وڃي، جنهن کي ڏسڻ ۽ سڃاڻڻ ۾ ان جي نظر ڪڏهن بہ غلطي نہ ڪري ۽ جنهن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هو ڪڏهن بہ سست ثابت نہ ٿئي. هو پاڻ بہ حق جي روشني ۾ هلندو آهي ۽ ٻين کي بہ ان ۾ هلائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

اُهي ماڻهو جيڪي هٿ ٺوڪيل شين کي خدا جو مذهب ٻڌائي عوام جي توجهہ جو مرڪز بڻيل هوندا آهن، اهي هر اهڙي آواز جا دشمن بڻجي ويندا آهن جيڪو ماڻهن کي سچي دين ڏانهن پڪاري. اهڙو هر آواز انهن کي پنهنجي خلاف بي اعتمادي جي تحريڪ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اهي وقت جا وڏا ماڻهو حق جي دعوت ۾ اهڙا شوشا ڪيندا آهن جنهن سان عوام کي ان کان متاثر ٿيڻ کان روڪي سگهن. هو حق جي دليلن کي غلط رخ ڏئي عوام کي شڪ شبهي ۾ مبتلا ڪندا آهن. ايستائين جو بي بنياد ڳالهين جي ذريعي داعي جي ذات کي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پر اهڙي قسم جون ڪوششون رڳو انهن جي جرم کي وڌائيندڙيون آهن، اهي داعي ۽ دعوت کي ڪو بہ نقصان نہ ٿيون پهچائي سگهن. حق پرست اهو آهي جيڪو حق کي ان وقت ڏسي وٺي، جڏهن ان سان گڏ دنياوي عظمتون شامل نہ هجن. دنياوي عظمتن واري حق کي مڃڻ اصل ۾ دنياوي عظمتن کي مڃڻ آهي نہ وري خدا جي طرفان آيل حق کي.

فَمَنْ يُّرِدِ اللّٰهُ اَنْ يَّهْدِيَهٗ يَشْرَحْ صَدْرَهٗ لِلْاِسْلَامِ ۚ وَمَنْ يُّرِدْ اَنْ يُّضِلَّهٗ يَجْعَلْ صَدْرَهٗ
ضَيِّقًا حَرَجًا كَاَنَّمَا يَصَّعَّدُ فِي السَّمَآءِ ؕ كَذٰلِكَ يَجْعَلُ اللّٰهُ الرِّجْسَ عَلَى الَّذِيْنَ لَا
يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٢٥﴾ وَهٰذَا صِرَاطُ رَبِّكَ مُسْتَقِيْمًا ؕ قَدْ فَصَّلْنَا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّذَّكَّرُوْنَ ﴿١٢٦﴾ لَهُمْ
دَارُ السَّلٰمِ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَهُوَ وَلِيُّهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٢٧﴾

الله جنهن لاءِ هدايت چاهي ٿو تہ ان جي سيني کي اسلام جي لاءِ کولي ٿو ڇڏي. ۽ جنهن کي گمراهہ ڪرڻ چاهي ٿو تہ ان جي سيني کي بلڪل تنگ ڪري ڇڏي ٿو، ڄڻ تہ هو آسمان تي چڙهي رهيو هجي. اهڙي طرح الله گندگي مڙهي ڇڏيندو آهي انهن ماڻهن تي جيڪي ايمان نہ ٿا آڻين. ۽ اهوئي تنهنجي رب جو سڌو رستو آهي. اسان واضح ڪري ڇڏيون آهن نشانيون غور ڪرڻ وارن جي لاءِ. انهن لاءِ سندن رب وٽ سلامتيءَ جو گهر آهي ۽ هو انهن جو مددگار آهي ان عمل جي ڪري جيڪي هو ڪندا رهيا. ١٢٥-١٢٧

---

حق پنهنجي ذات ۾ ايترو واضح آهي جو ان کي سمجهڻ ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي لاءِ مشڪل نہ هو. پوءِ بہ هر زماني ۾ بيشمار ماڻهو حق جي وضاحت جي باوجود حق کي قبول نہ ٿا ڪن. ان جي وجهہ انهن جي اندر جون اُهي رڪاوٽون آهن جيڪي هو پنهنجي نفسيات ۾ پيدا ڪري وٺندا آهن. ڪو پنهنجي پاڻ کي مقدس هستين سان ايترو گهڻو وابستہ ڪري وٺندو آهي جو انهن کي ڇڏيندي ان کي محسوس ٿيندو آهي تہ هو بلڪل برباد ٿي ويندو. ڪنهن جو حال اهو هوندو آهي تہ پنهنجن مصلحتن جي نظام جي ٽٽڻ جو انديشو (خوف) ان جي مٿان ايترو گهڻو ڇانئجي ويندو آهي جو ان جي لاءِ حق ڏانهن اڳيان وڌڻ ممڪن نہ ٿو رهي. ڪنهن کي نظر اچي ٿو تہ حق کي مڃڻ ڄڻ پنهنجي وڏائي کي پنهنجي هٿ سان ختم ڪرڻ آهي. ڪنهن کي محسوس ٿيندو آهي تہ ڪنهن رواج جي خلاف هڪ ڳالهہ کي جيڪڏهن مون مڃي ورتو تہ آئون سڄي ماحول ۾ اجنبي بڻجي رهجي ويندس. اهڙي طرح جا خيال ماڻهو جي مٿان ايئن مسلط ٿي ويندا آهن جو حق کي مڃڻ ان کي هڪ بي حد مشڪل چاڙهي تي چڙهڻ جي هم معنيٰ نظر اچڻ لڳندو آهي، جنهن کي ڏسندي ئي ماڻهو جي دل تنگ ٿيڻ لڳندي آهي.

ان جي ابتڙ معاملو انهن ماڻهن جو آهي جيڪي نفسياتي مونجهارن ۾ مبتلا نہ هوندا آهن جيڪي حق کي هر شيءِ کان مٿي سمجهندا آهن. اُهي اڳ ۾ ئي حق کي تلاش ڪندڙ هوندا آهن. ان ڪري جڏهن حق انهن جي سامهون ايندو آهي تہ هو يڪدم ان کي سڃاڻي وٺندا آهن. عذر ۽ انديشن کي نظر انداز ڪندي ان کي قبول ڪري وٺندا آهن.

خدا پنهنجي حق کي نشانين ۽ اشارن جي صورت ۾ ماڻهن جي سامهون آڻيندو آهي. جيڪي ماڻهو پنهنجي دلين ۾ ڪمزوريون رکندا هجن، هو انهن اشارن جي هٿ ٺوڪيل تاويل ڪري پنهنجي لاءِ ان کي نہ مڃڻ جو جواز بڻائي وٺندا آهن ۽ جن ماڻهن جا سينا کليل هوندا آهن. اُهي اشارن کي انهن جي اصل گهراين سان گڏ سمجهي وٺندا آهن ۽ ان کي پنهنجي ذهن جي غذا بڻائي وٺندا آهن. انهن جي زندگي جلد ئي ان سڌي رستي تي هلي پوندي آهي جيڪو خدا جي رهنمائيءَ ۾ براهہ راست طي ٿيندو آهي ۽ آخرڪار ماڻهو کي هميشہ جي ڪاميابي جي مقام تي پهچائي ڇڏيندو آهي.

خدا وٽ جيڪا قيمت آهي اُها عمل جي آهي، نه وري ڪنهن ٻي شيءِ جي. جيڪو ماڻهو عملي طور تي خدا جي فرمانبرداري اختيار ڪندو، اُهوئي ان قابل ٿيندو جو خدا ان جي دستگيري ڪري ۽ ان کي پنهنجي سلامتيءَ جي گهر تائين پهچائي ڇڏي. اهو سلامتيءَ جو گهر خدا جي جنت آهي، جتي ماڻهو هر قسم جي ڏک ۽ آفت کان محفوظ رهي هميشه سڪون واري زندگي گذاريندو. خدا جي اِها مدد فردن کي انهن جي عمل جي مطابق موت ڪانپوءِ اچڻ واري زندگي ۾ ملندي. پر جيڪڏهن ماڻهن جو ڳچ تعداد دنيا ۾ خدا جو فرمانبردار بڻجي وڃي ته اهڙي جماعت کي دنيا ۾ به ان جو هڪ حصو ڏنو ويندو آهي.

وَ يَوْمَ يَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ۚ يٰمَعْشَرَ الْجِنِّ قَدِ اسْتَكْثَرْتُمْ مِّنَ الْاِنْسِ ۚ وَ قَالَ
اَوْلِيٰٓؤُهُمْ مِّنَ الْاِنْسِ رَبَّنَا اسْتَمْتَعَ بَعْضُنَا بِبَعْضٍ وَّ بَلَغْنَآ اَجَلَنَا الَّذِيْٓ اَجَّلْتَ لَنَا ؕ
قَالَ النَّارُ مَثْوٰىكُمْ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ؕ اِنَّ رَبَّكَ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ ﴿١٢٨﴾ وَ كَذٰلِكَ
ع ١٥ نُوَلِّيْ بَعْضَ الظّٰلِمِيْنَ بَعْضًۢا بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿١٢٩﴾ ۧ يٰمَعْشَرَ الْجِنِّ وَ الْاِنْسِ اَلَمْ يَاْتِكُمْ
رُسُلٌ مِّنْكُمْ يَقُصُّوْنَ عَلَيْكُمْ اٰيٰتِيْ وَ يُنْذِرُوْنَكُمْ لِقَآءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا ؕ قَالُوْا شَهِدْنَا
عَلٰٓى اَنْفُسِنَا وَ غَرَّتْهُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا وَ شَهِدُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰفِرِيْنَ ﴿١٣٠﴾
ذٰلِكَ اَنْ لَّمْ يَكُنْ رَّبُّكَ مُهْلِكَ الْقُرٰى بِظُلْمٍ وَّ اَهْلُهَا غٰفِلُوْنَ ﴿١٣١﴾

۽ جنهن ڏينهن الله انهن سڀني کي گڏ ڪندو، اي جنن جي جماعت توهان انسانن مان گهڻائي پنهنجي تابع ڪري ڇڏيا. ۽ انسانن مان انهن جا ساٿي چوندا ته اي اسان جا رب! اسان هڪٻئي کي استعمال ڪيو ۽ اسان پهچي وياسون ان وعدي کي جيڪو تو اسان لاءِ مقرر ڪيو هو. الله چوندو هاڻي توهان جو ٺڪاڻو باهه آهي، هميشه ان ۾ رهندؤ، پر جيڪو الله چاهي. بيشڪ توهان جو رب حڪمت وارو علم وارو آهي. اهڙي طرح اسان گنهگارن کي هڪٻئي سان ملائي ڇڏينداسون، انهن عملن جي سبب جيڪي هو ڪندا هئا. اي جنن ۽ انسانن جي جماعت ڇا توهان وٽ توهان منجهان پيغمبر نه آيا هئا، جيڪي توهان کي منهنجون آيتون ٻڌائيندا هئا ۽ توهان کي هِن ڏينهن جي اچڻ کان ڊيڄاريندا هئا. اِهي چوندا ته اسان خود پنهنجي خلاف گواهه آهيون. ۽ انهن کي دنيا جي زندگي دوکي ۾ رکيو. ۽ هو پنهنجي خلاف خود شاهدي ڏيندا ته بيشڪ اسان منڪر هئاسون. اِهو انهيءَ ڪري جو تنهنجو رب بستين کي سندن ظلم جي ڪري اُن حال ۾ هلاڪ ڪرڻ وارو نه هو جو اُتي جا ماڻهو بي خبر هجن. ١٢٨-١٣١

---

ڪنهن جي گمراهه ڪرڻ سان جڏهن ڪو شخص گمراهه ٿيندو آهي ته اِهو هڪ طرفو معاملو نه هوندو آهي. ٻئي پنهنجي جاءِ تي اهو سمجهندا آهن ته هو پنهنجو مقصد پورو ڪري رهيا آهن. شيطان جڏهن ماڻهو کي ڏٺا ڏئي پاڻ ڏانهن وني وڃي ٿو ته هو پنهنجي ان چئلينج کي صحيح ثابت ڪرڻ چاهي ٿو جيڪو ان تخليق جي آغاز ۾ خدا کي ڪيو هو، ته آئون تنهنجي مخلوق جي وڏي حصي کي پنهنجو ساٿي بڻائي وٺندس. (بني اسرائيل: ٦١) ٻئي پاسي جيڪي ماڻهو پاڻ کي شيطان جي حوالي ڪندا آهن، انهن جي سامهون به واضح مفاد هوندا آهن. ڪجهه ماڻهو جنن جي نالي تي پنهنجي جادوءَ جي ڪاروبار

ڪي وڌائيندا آهن ۽ پنهنجي شاعري ۽ غيب جي علم جو رشتو ڪنهن جنن واري استاد سان جوڙي عوام جي مٿان پنهنجي وڏائي قائم ڪندا آهن. اهڙي طرح اُهي سيئي تحريڪون جيڪي شيطاني ترغيبن جي ذريعي اٿنديون آهن. انهن جو ساٿ ڏيڻ وارا بہ اِن لاءِ انهن جو ساٿ ڏيندا آهن جو انهن کي اميد هوندي آهي تہ اهڙي طرح عوام جي مٿان آسانيءَ سان اُهي پنهنجي قيادت قائم ڪري سگهندا. ڇاڪاڻ تہ خدا جي پڪار جي مقابلي ۾ شيطاني نعرا هميشہ عوام جي ميڙ جي لاءِ وڌيڪ ڪشش رکن ٿا.

قيامت ۾ جڏهن حقيقتن تان پردو کنيو ويندو تہ اِها ڳالهہ پڌري ٿي ويندي تہ جيڪي ماڻهو بي راهہ ٿيا يا جن ٻين کي بي راهہ ڪيو، انهن ڪنهن غلط فهمي جي ڪري ايئن نہ ڪيو. ان جي وجهہ حق کي نظر انداز ڪرڻ هو، نہ وري حق کان بي خبر هئڻ. اهي دنيا جي تماشن کان الڳ نہ ٿي سگهيا. اُهي وقتي فائدن کي قربان نہ ڪري سگهيا. جڏهن تہ خدا پنهنجي خاص ٻانهن جي ذريعي جيڪا هدايت ڪولي ڇڏي هئي، اُها ايتري تہ پڌري هئي جو ڪو بہ ماڻهو حقيقت کان بيخبر نہ پيو رهي سگهي. پر انهن جي دنيا پرستي انهن جي اکين جو پردو بڻجي ويئي. ڄاڻڻ جي باوجود انهن نہ ڄاتو، ٻڌڻ جي باوجود انهن نہ ٻڌو.

آخرت ۾ اُهي مصنوعي سهارا انهن کان کسجي ويندا جن جي ڪري اُهي حقيقت کان بي پرواهہ ٿي ويا هئا. ان وقت انهن کي نظر اچي ويندو تہ ڪهڙي طرح حق انهن جي سامهون آيو، پر انهن ڪوڙا لفظ ڳالهائي ان کي رد ڪري ڇڏيو. ڪهڙي طرح انهن جي غلطي انهن تي واضح ڪئي وئي، پر خوبصورت تاويل ڪري انهن سمجهيو تہ هو پاڻ کي حق تي ثابت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن.

وَلِكُلٍّ دَرَجٰتٌ مِّمَّا عَمِلُوْا ؕ وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٣٢﴾ وَرَبُّكَ الْغَنِيُّ ذُو الرَّحْمَةِ ؕ
اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ وَيَسْتَخْلِفْ مِنْۢ بَعْدِكُمْ مَّا يَشَآءُ كَمَآ اَنْشَاَكُمْ مِّنْ ذُرِّيَّةِ قَوْمٍ
اٰخَرِيْنَ ﴿١٣٣﴾ اِنَّ مَا تُوْعَدُوْنَ لَاٰتٍ ۙ وَّمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ﴿١٣٤﴾ قُلْ يٰقَوْمِ اعْمَلُوْا عَلٰى
مَكَانَتِكُمْ اِنِّيْ عَامِلٌ ۚ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۙ مَنْ تَكُوْنُ لَهٗ عَاقِبَةُ الدَّارِ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ
الظّٰلِمُوْنَ ﴿١٣٥﴾

۽ هر ماڻهو جو درجو ان جي عمل جي لحاظ کان آهي ۽ اوهان جو رب ماڻهن جي عملن کان بيخبر نہ آهي. ۽ اوهان جو رب بي نياز، رحمت وارو آهي. جيڪڏهن هو چاهي تہ اوهان سڀني کي نابود ڪري ۽ اوهان کانپوءِ جنهن کي چاهي اوهان جي جاءِ تي آڻي، جهڙي طرح هن اوهان کي پيدا ڪيو ٻين جي نسل مان. جنهن شيءِ جو اوهان سان واعدو ڪيو پيو وڃي اُها اچي رهندي ۽ توهان خدا کي عاجز نہ ٿا ڪري سگهو. چئو تہ اي منهنجي قوم! اوهين پنهنجي جاءِ تي عمل ڪندا رهو. آئون بہ عمل ڪري رهيو آهيان. اوهان کي جلد ئي خبر پئجي ويندي تہ ڪنهن جي پڇاڙي چڱي ٿئي ٿي. يقيناً ظالم ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿيندا. ١٣٢-١٣٥

---

دنيا جي زندگي ۾ اسان ڏسون ٿا تہ هڪ ماڻهو جي مرتبي ۽ ٻئي ماڻهو جي مرتبي ۾ فرق هوندو آهي. اِهو فرق اهڙي ريت هوندو آهي جهڙي ريت هڪ ماڻهو ۽ ٻئي ماڻهو جي جدوجهد ۾ هوندو آهي. جنهن ماڻهو جو فهم، عقلمندي، ان جي محنت ۽ مصلحتن جو لحاظ جنهن درجي جو هوندو آهي، انهيءَ درجي جي ڪاميابي ان کي هِتي حاصل ٿيندي آهي.

اهڙوئي معاملو آخرت جو بہ آهي. آخرت ۾ مرتبن ۽ درجن جي تقسيم ٺيڪ اهڙي ريت ڪئي ويندي جهڙي ريت ڪنهن ماڻهوءَ دنيا ۾ ان جي لاءِ عمل ڪيو هوندو. آخرت جي لاءِ بہ ماڻهوءَ کي اهڙي ئي طرح وقت ۽ مال خرچ ڪرڻو آهي جهڙيءَ طرح هو دنيا جي لاءِ پنهنجي وقت ۽ مال کي خرچ ڪندو آهي. آخرت جي معاملي ۾ بہ ان کي اِهڙي طرح هوشياري ڏيکارڻي آهي جهڙي طرح هو دنيا جي معاملي ۾ هوشياري ڏيکاري ٿو. آخرت جي ڳالهين ۾ بہ ان کي مصلحتن ۽ نزاڪتن جو اِهڙي طرح لحاظ ڪرڻو آهي جهڙي طرح هو دنيا جي ڳالهين ۾ مصلحتن ۽ نزاڪتن جو لحاظ ڪندو آهي. جنهن خدا جي هٿ ۾ آخرت جو فيصلو آهي، اهو هر هڪ ماڻهو جي احوال کان پوري طرح با خبر آهي. ان جي لاءِ ڪجهہ بہ مشڪل نہ ٿيندو جو هو هر هڪ کي اهوئي ڏي جيڪو سندن حق مطابق انهن کي ملڻ کپي.

خدا امتحان ۽ عمل جي جيڪا هي دنيا ٺاهي آهي، ان جي ذريعي ان انسان کي قيمتي موقعو ڏنو آهي. هو ڪجهہ ڏينهن جي زندگي ۾ چڱي عمل جو ثبوت ڏئي هميشہ واري زندگي ۾ ان جو انجام حاصل ڪري سگهي ٿو. ان نظام کي قائم ڪرڻ ۾ خدا جو پنهنجو ڪو بہ فائدو نہ آهي. ماڻهو جيڪڏهن اُن جي تخليق واري منصوبي کي قبول نہ ڪن تہ خدا کي ان جي پرواهہ نہ آهي. هو انهن جي جاءِ تي ٻين کي آڻي سگهي ٿو جيڪي ان جي تخليقي منصوبي کي مڃن ۽ پنهنجي پاڻ کي ان ۾ شامل ڪن. ايستائين جو هو واريءَ جي ذرن ۽ وڻ جي پنن کي پنهنجي وفادار ٻانهن جي حيثيت سان ٻيهاري سگهي ٿو.

هڪ اهڙي دنيا جيڪا سراسر حق ۽ انصاف تي قائم هجي، اُتي سرڪشن ۽ ظالمن کي ڇوٽ جو ملڻ ظاهر ڪري ٿو تہ اِها ڇوٽ ڪو انعام نہ آهي، بلڪ اِها انهن کي سندن آخري انجام تائين پهچائڻ جي لاءِ آهي. جيڪو ماڻهو حق کي مڃڻ کان انڪار ڪندو آهي ۽ ان جي باوجود بظاهر ان جو ڪجهہ نہ ٿو بگڙي. ان کي اُن صورتحال تي خوش نہ ٿيڻ کپي، اِها حالت سراسر عارضي آهي. تمام جلد اهو وقت اچڻ وارو آهي جڏهن ماڻهو کان اِهو سڀ ڪجهہ کسجي ويندو، جنهن جي ڪري هو سرڪشي ڪري رهيو آهي ۽ ان کي هميشہ جي لاءِ هڪ اهڙي بربادي ۾ وڌو ويندو، جتان هو ڪڏهن بہ نڪري نہ سگهندو. جتي نہ ٻيهر عمل جو نہ موقعو هجي ۽ نہ وري پنهنجي عمل جي انجام کان پاڻ کي بچائڻ جو.

وَ جَعَلُوْا لِلّٰهِ مِمَّا ذَرَاَ مِنَ الْحَرْثِ وَ الْاَنْعَامِ نَصِيْبًا فَقَالُوْا هٰذَا لِلّٰهِ بِزَعْمِهِمْ وَ هٰذَا
لِشُرَكَآئِنَا ۚ فَمَا كَانَ لِشُرَكَآئِهِمْ فَلَا يَصِلُ اِلَى اللّٰهِ ۚ وَ مَا كَانَ لِلّٰهِ فَهُوَ يَصِلُ اِلٰى
شُرَكَآئِهِمْ ؕ سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ﴿١٣٦﴾ وَ كَذٰلِكَ زَيَّنَ لِكَثِيْرٍ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ قَتْلَ اَوْلَادِهِمْ
شُرَكَآؤُهُمْ لِيُرْدُوْهُمْ وَ لِيَلْبِسُوْا عَلَيْهِمْ دِيْنَهُمْ ؕ وَ لَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا فَعَلُوْهُ فَذَرْهُمْ وَ
مَا يَفْتَرُوْنَ ﴿١٣٧﴾

۽ هنن الله جي پيدا ڪيل پوک ۽ چوپائي مال مان الله لاءِ ڪجهہ حصو مقرر ڪيو آهي. ۽ هو پنهنجي گمان مطابق چوندا آهن هي حصو الله لاءِ آهي ۽ هي حصو اسان جي شريڪن لاءِ. پوءِ جيڪو حصو انهن جي شريڪن جو هوندو آهي سو تہ الله کي نہ ٿو پهچي ۽ جيڪو حصو الله جي لاءِ آهي سو سندن شريڪن کي پهچي ٿو وڃي. ڪهڙو نہ بڇڙو فيصلو آهي جيڪو هو ڪن ٿا. ۽ اهڙي طرح ڪيترن ئي مشرڪن لاءِ سندن

شريڪن سندن اولاد کي قتل ڪرڻ خوشنما بڻائي ڇڏيو. ته جيئن کين برباد ڪن ۽ سندن دين کي متن مشڪوڪ ڪري ڇڏين ۽ جيڪڏهن الله چاهي ها ته هو ايئن نه ڪن ها، تنهن ڪري کين ۽ جيڪي ٺاهه ٺاهيندا آهن تنهن کي ڇڏي ڏي. ١٣٦-١٣٧

---

مشرڪن ۾ اِهو رواج هو ته اُهي فصل ۽ جانورن مان الله جو ۽ بتن جو حصو ڪيندا هئا. اُهي ڏسندا هئا جيڪڏهن خدا جي حصي جو جانور يا اناج سٺو آهي ته ان کي بدلائي بتن ڏانهن ڪري ڇڏيندا هئا. پر جيڪڏهن بتن جو سٺو هوندو هو ته ان کي خدا ڏانهن نه ڪندا هئا. پيداوار جي تقسيم جي وقت بتن جو ڪو حصو اتفاق سان الله جي حصي ۾ شامل ٿي وڃي ته ان کي الڳ ڪري بتن ڏانهن موٽائي ڇڏيندا هئا ۽ الله جي نالي جو ڪجهه حصو بتن ڏانهن هليو وڃي ته ان کي نه موٽائيندا هئا. اِهڙي طرح جيڪڏهن نذر ۽ نياز جو اناج کين استعمال ڪرڻ جي ضرورت پيش اچي ويندي هئي ته خدا جو حصو کڻي وٺندا هئا، پر بتن جي حصي مان ڪڏهن به نه کڻندا هئا. ان ڊپ جي ڪري جو ڪا مصيبت نه نازل ٿي وڃي. بظاهر هو خدا کي مڃيندا هئا، پر انهن جو اصل يقين پنهنجي بتن تي هو. حقيقت اِها آهي ته ماڻهو بتن کي ان لاءِ گهڙي ٿو جو ان کي نظر نه ايندڙ خدا تي پورو ڀروسو نه هوندو آهي.

اِهوئي حال هر ان ماڻهو جو هوندو آهي جيڪو زبان سان ته الله کي مڃيندو هجي، پر ان جي دل الله کانسواءِ ٻئي هنڌ اٽڪيل هجي. جيڪي ماڻهو ڪنهن زنده يا مرده هستيءَ کي پنهنجن عقيدتن جو مرڪز بڻائي وٺن، انهن جو حال به اهڙو ئي هوندو آهي جو جيڪو وقت وٺن خدا کي ياد ڪرڻ جو هوندو آهي، ان ۾ به هو پنهنجن ”شريڪن“ جي ياد کي شامل ڪري وٺندا آهن. پر جيڪو وقت انهن وٽ پنهنجن شريڪن کي ياد ڪرڻ جو هوندو آهي، ان ۾ خدا جو ذڪر ڪرڻ اهي گوارا ناهن ڪندا. جيڪا محبت خدا جي لاءِ هئڻ گهرجي، تنهن ۾ سندن شريڪن کي شامل ڪري وٺندا آهن، پر جيڪا محبت سندن شريڪن لاءِ هوندي اٿن، تنهن ۾ خدا کي شريڪ نٿا ڪن. جيڪا مجلس خدا جي عظمت ۽ ڪبريائي بيان ڪرڻ جي لاءِ ڪئي وڃي، ان ۾ ان جي شريڪن جي عظمت ۽ ڪبريائيءَ جو بيان ته ڪنهن نه ڪنهن طرح ڪيو ويندو آهي، پر جيڪا مجلس سندن شريڪن جي عظمت ۽ ڪبريائي جي بيان لاءِ هوندي آهي، اتي خدا جي عظمت ۽ ڪبريائيءَ جو ڪو به ذڪر نه هوندو.

انهن شريڪن جي اهميت ڪڏهن ذهن تي ايتري غالب اچي ويندي آهي جو ماڻهو پنهنجي اولاد کي ان تي نثار ڪري ڇڏيندو آهي. پنهنجي اولاد کي خدا جي لاءِ پيش ڪرڻو هجي ته هو پيش نه ڪندو، پر پنهنجن شريڪن جي خدمت ۾ انهن کي ڏيڻو هجي ته هو خوشيءَ سان ان جي لاءِ راضي ٿي ويندو آهي.

اهڙي قسم جون سڀئي شيون خدا جي دين جي نالي تي ڪيون ويندڙيون آهن، پر حقيقت ۾ اهي گهڙيل آهن. ڇاڪاڻ ته اِهو اهڙي شيءِ کي خدا ڏانهن منسوب ڪرڻ آهي جنهن جي خدا ڪڏهن به تعليم نه ڏني آهي.

وَ قَالُوْا هٰذِهٖۤ اَنْعَامٌ وَّ حَرْثٌ حِجْرٌ ۖ لَّا يَطْعَمُهَاۤ اِلَّا مَنْ نَّشَآءُ بِزَعْمِهِمْ وَ اَنْعَامٌ
حُرِّمَتْ ظُهُوْرُهَا وَ اَنْعَامٌ لَّا يَذْكُرُوْنَ اسْمَ اللّٰهِ عَلَيْهَا افْتِرَآءً عَلَيْهِ ؕ سَيَجْزِيْهِمْ بِمَا
كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿١٣٨﴾ وَ قَالُوْا مَا فِيْ بُطُوْنِ هٰذِهِ الْاَنْعَامِ خَالِصَةٌ لِّذُكُوْرِنَا وَ مُحَرَّمٌ عَلٰۤى

اَزْوَاجِنَا ۚ وَ اِنْ يَّكُنْ مَّيْتَةً فَهُمْ فِيْهِ شُرَكَآءُ ؕ سَيَجْزِيْهِمْ وَصْفَهُمْ ؕ اِنَّهٗ حَكِيْمٌ
عَلِيْمٌ ﴿١٣٩﴾ قَدْ خَسِرَ الَّذِيْنَ قَتَلُوْٓا اَوْلَادَهُمْ سَفَهًۢا بِغَيْرِ عِلْمٍ وَّ حَرَّمُوْا مَا رَزَقَهُمُ اللّٰهُ
افْتِرَآءً عَلَى اللّٰهِ ؕ قَدْ ضَلُّوْا وَ مَا كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ ﴿١٤٠﴾ ع

۽ چون ٿا تہ هي جانور ۽ هي پوک منع ٿيل آهي، اُنهن کي ڪوبہ ڪائي نہ ٿو سگهي، سواءِ ان جي جنهن کي اسين چاهيون پنهنجي گمان مطابق. ۽ ڪن جانورن جون پٺيون حرام ڪيون اٿن ۽ ڪن جانورن تي هو الله جو نالو نہ ٿا وٺن. اهو سڀ انهن الله تي ڪوڙو ٺاهہ ٺاهيو آهي ۽ الله جلد ڪين انهن جي ٺاهہ ٺاهڻ جو بدلو ڏيندو ۽ چون ٿا تہ جيڪو ان قسم جي جانورن جي پيٽ ۾ آهي، اُهو فقط اسان جي مَردن جي لاءِ آهي ۽ اُهو اسان جي عورتن جي لاءِ حرام آهي. جيڪڏهن اُهو مئل هجي تہ ان ۾ سڀئي شريڪ آهن. الله جلد ئي ڪين اهڙين ڳالهين تي سزا ڏيندو، بيشڪ الله حڪمت وارو علم وارو آهي. اُهي ماڻهو خساري ۾ پئجي ويا جن پنهنجي اولاد کي قتل ڪيو ناداني سان بغير ڪنهن علم جي ۽ انهن الله جي ڏنل رزق کي حرام ڪري ورتو، جيڪو انهن کي ڏنو هو الله تي بهتان مڙهيندي. اُهي گمراهہ ٿي چڪا ۽ هدايت پائڻ وارا نہ ٿيا. ١٣٨-١٤٠

---

قديم عرب جا ماڻهو پنهنجي مذهب کي حضرت ابراهيم عليہ السلام ۽ حضرت اسماعيل عليہ السلام ڏانهن منسوب ڪندا هئا، پر عملاً انهن وٽ جيڪو مذهب هو، اهو هڪ هٿ ٺوڪيل مذهب هو جيڪو انهن جي اڳواڻن گهڙي انهن ۾ رائج ڪري ڇڏيو هو.

پيداوار ۽ جانورن جا جيڪي نذرانا خدا يا ان جي شريڪن جي نالي تي پيش ٿيندا هئا، انهن جي لاءِ انهن وٽ گهڻيون سخت پابنديون هيون. مثال طور بَحيره يا سائبہ (جانورن) کي جيڪڏهن ذبح ڪيو وڃي ۽ انهن جي پيٽ مان زندهہ ٻچو نڪري تہ ان جو گوشت رڳو مَرد ڪائين ۽ عورتون نہ ڪائن ۽ جيڪڏهن ٻچو مرده حالت ۾ هجي تہ ان کي مرد ۽ عورت ٻئي ڪائي سگهن ٿا. اِهڙي طرح ڪجهہ جانورن جي پٺي تي سوار ٿيڻ يا انهن تي وزن کڻڻ انهن وٽ حرام هو. ڪجهہ جانورن جي لاءِ انهن جو عقيدو هو تہ انهن تي سوار ٿيڻ وقت يا انهن کي ذبح ڪرڻ وقت يا کير ڏهڻ وقت خدا جو نالو نہ وٺڻ کپي.

اهڙا ماڻهو دين جي اصل يعني الله سان تعلق ۽ آخرت جي فڪر کان انتهائي حد تائين پري هوندا آهن. اُهي روزاني الله جي حدن کي ٽوڙيندا رهندا آهن. البت ڪجهہ غير متعلق ظاهري شين ۾ شدت جي حد تائين قاعدن ۽ ضابطن جو اهتمام ڪندا آهن. اِها شيطان جي گهري چال آهي. هو ماڻهن کي اصل دين کان پري ڪري ڪجهہ ٻين شين کي دين جي نالي تي انهن جي وچ ۾ جاري ڪري ڇڏيندو آهي ۽ انهن ۾ شدت جي نفسيات پيدا ڪري ماڻهن کي ان غلط فهمي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي تہ هو خدا جي دين تي قائم آهن. عبادت جي ظاهري پهلو ۾ شدت بہ انهي خاص نفسيات جي پيداوار آهي. ماڻهو خوف خدا ۽ عاجزي کان خالي هوندو آهي ۽ ڪجهہ ظاهري آدابن جو اهتمام ڪري سمجهندو آهي تہ هن ڪمال حد تائين عبادت جو فعل سر انجام ڏئي ڇڏيو آهي. اهڙي قسم جي ماڻهن جي گمراهي ان ڳالهہ مان پڌري آهي تہ انهن مان گهڻن ماڻهن اولاد کي قتل ڪرڻ جهڙي وحشياڻي (فعل) ڪم کي درست سمجهي ورتو. هو خدا جي پاڪ رزق کان ماڻهن کي محروم ڪندا آهن. هو معمولي مسئلن تي وڙهندا آهن ۽ انهن وڏين شين کي نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهن جن جي اهميت کي عام عقل جي ذريعي سمجهي سگهجي ٿو.

وَهُوَ الَّذِيْٓ اَنْشَاَ جَنّٰتٍ مَّعْرُوْشٰتٍ وَّغَيْرَ مَعْرُوْشٰتٍ وَّالنَّخْلَ وَالزَّرْعَ مُخْتَلِفًا اُكُلُهٗ وَ
الزَّيْتُوْنَ وَالرُّمَّانَ مُتَشَابِهًا وَّغَيْرَ مُتَشَابِهٍ ۭ كُلُوْا مِنْ ثَمَرِهٖٓ اِذَآ اَثْمَرَ وَاٰتُوْا حَقَّهٗ
يَوْمَ حَصَادِهٖ ښ وَلَا تُسْرِفُوْا ۭ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْنَ ١٤١ۙ وَمِنَ الْاَنْعَامِ حَمُوْلَةً وَّ
فَرْشًا ۭ كُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ وَلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ۭ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ١٤٢ۙ

۽ اهو الله ئي آهي جنهن ڇپرن تي چڙهندڙ وليون ۽ بنا چڙهندڙ باغ پيدا ڪيا. ۽ ڪجين جا وڻ ۽ پوڪون جن جي کائڻ جون شيون مختلف هونديون آهن ۽ زيتون ۽ ڏاڙهون جيڪي هڪٻئي سان ملندڙ جلندڙ ۽ جدا جدا پڻ آهن. کائو انهن جي پيداوار جڏهن ته اُهي ڦر ڏين ۽ الله جو حق ادا ڪريو انهن جي لاباري واري ڏينهن تي. ۽ فضول خرچي نه ڪريو، بيشڪ الله فضول خرچي ڪرڻ وارن کي پسند نه ٿو ڪري. ۽ ان جانورن مان ڪي بار کڻڻ وارا پيدا ڪيا ۽ زمين سان لڳل به. کائو انهن شين مان جيڪي الله اوهان کي ڏنيون آهن. ۽ شيطان جي پيروي نه ڪريو، هو توهان جو پڌرو دشمن آهي. ١٤١-١٤٢

---

خدا انسان جي لاءِ قسمين قسمين غذائون پيدا ڪيون آهن. ڪجھ شيون اُهي آهن جيڪي زمين تي ڦهلجن ٿيون. مثال طور گدرا، پاڃيون وغيره. ڪجھ شيون اُهي آهن جيڪي ڇپرن تي چاڙهيون وينديون آهن. مثال طور انگور وغيره. ڪجھ شيون اهڙيون آهن جيڪي پنهنجي ٿڙ تي بيٺل هونديون آهن. مثال طور: ڪجي ۽ انب وغيره. اهڙي طرح ماڻهوءَ جي ضرورت جي لاءِ مختلف قسمن جا ننڍا وڏا جانور پيدا ڪيا. مثال طور اُٺ، گهوڙا ۽ رڍون ۽ ٻڪريون.

ماڻهو هڪ الڳ مخلوق آهي باقي شيون الڳ مخلوق. ٻئي هڪٻئي کان جدا جدا پيدا ٿيا آهن. پر انسان ڏسندو آهي ته ٻنهي ۾ زبردست هڪجهڙائي آهي. ماڻهوءَ جي جسم کي جيڪڏهن غذا گهربل آهي ته ٻاهر سرسبز وڻن ۾ حيرت انگيز قسمن جا غذائي پيڪٽ لٽڪي رهيا آهن. جيڪڏهن ان جي زبان ۾ مزي جو احساس آهي ته ميون جي اندر ان لاءِ تسڪين موجود آهي. جيڪڏهن ان جي اکين ۾ حسن و نظر جو ذوق آهي ته قدرت جو سڄو ڪارخانو حسن ۽ دلڪشيءَ جو نمونو بڻيل آهي. جيڪڏهن ان کي سواري ۽ بار کڻڻ جي ضرورت آهي ته هتي اِهڙا جانور موجود آهن جيڪي ان جي لاءِ سفر ۽ بار کڻڻ جو ذريعو بڻجي سگهن ٿا ۽ انهيءَ سان گڏ ان جي لاءِ قيمتي غذا به فراهم ڪن ٿا. اهڙي طرح ڪائنات پنهنجي پوري وجود سان توحيد جو اعلان بڻجي وئي آهي. ڇاڪاڻ ته ڪائنات جي مختلف حصن ۾ اِها هم آهنگي ۽ وحدت ان جي بغير ممڪن نه آهي ته ان جو خالق ۽ مالڪ هڪ هجي.

ماڻهو جڏهن ڏسي ٿو ته ايڏو عظيم ڪائناتي اهتمام سندس ڪنهن ذاتي استحقاق جي بغير ٿي رهيو آهي ته ان انعام تي سندس دل شڪر جي جذبي سان ڀرجي ويندي آهي. پوءِ ان سان گڏ اهو سڄو معاملو ماڻهوءَ جي لاءِ تقويٰ جي غذا بڻجي ويندو آهي. انساني فطرت جي اِها تقاضا آهي ته هر انعام ۽ عنايت سان گڏ ذميداري به هجي. اِهي شيون ماڻهوءَ کي جزا ۽ سزا جي ياد ڏيارينديون آهن. ۽ هن کي آماده ڪن ٿيون ته هو دنيا ۾ ان احساس سان رهي ته هڪ ڏينهن هن کي خدا جي سامهون حساب جي لاءِ بيهڻو آهي. اِهي احساس جيڪڏهن حقيقي طور تي ماڻهو جي اندر جاڳي پون، ته لازمي طور تي ان ۾ به

ڳالهيون پيدا ٿينديون. هڪ اِها تہ ان کي جيڪو ڪجهہ ملندو ان ۾ هو پنهنجي مالڪ جو حق بہ سمجهندو. ٻي هِي تہ هو صرف ضرورت جي مطابق خرچ ڪندو نہ وري فضول خرچ ڪندو. پر شيطان ايئن ڪندو آهي جو ماڻهوءَ جي ذهن کي اصل رخ کان موڙي ان کي ٻين غير ضروري ڳالهين ۾ الجهائي ڇڏيندو آهي.

ثَمٰنِيَةَ اَزْوَاجٍ ۚ مِنَ الضَّاْنِ اثْنَيْنِ وَ مِنَ الْمَعْزِ اثْنَيْنِ ؕ قُلْ ءٰٓالذَّكَرَيْنِ حَرَّمَ اَمِ
الْاُنْثَيَيْنِ اَمَّا اشْتَمَلَتْ عَلَيْهِ اَرْحَامُ الْاُنْثَيَيْنِ ؕ نَبِّـُٔوْنِيْ بِعِلْمٍ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٤٣﴾
وَ مِنَ الْاِبِلِ اثْنَيْنِ وَ مِنَ الْبَقَرِ اثْنَيْنِ ؕ قُلْ ءٰٓالذَّكَرَيْنِ حَرَّمَ اَمِ الْاُنْثَيَيْنِ اَمَّا
اشْتَمَلَتْ عَلَيْهِ اَرْحَامُ الْاُنْثَيَيْنِ ؕ اَمْ كُنْتُمْ شُهَدَآءَ اِذْ وَصّٰىكُمُ اللّٰهُ بِهٰذَا ۚ فَمَنْ
اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا لِّيُضِلَّ النَّاسَ بِغَيْرِ عِلْمٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ
ع ١٧ ٤ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٤٤﴾ قُلْ لَّآ اَجِدُ فِيْ مَآ اُوْحِيَ اِلَيَّ مُحَرَّمًا عَلٰى طَاعِمٍ يَّطْعَمُهٗٓ اِلَّآ اَنْ يَّكُوْنَ مَيْتَةً
اَوْ دَمًا مَّسْفُوْحًا اَوْ لَحْمَ خِنْزِيْرٍ فَاِنَّهٗ رِجْسٌ اَوْ فِسْقًا اُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ بِهٖ ۚ فَمَنِ اضْطُرَّ
غَيْرَ بَاغٍ وَّ لَا عَادٍ فَاِنَّ رَبَّكَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٤٥﴾

الله اَٺ جوڙا پيدا ڪيا. ٻہ رڍن جي قسم مان ۽ ٻہ ٻڪرين جي قسم مان. پڇو تہ ٻئي نر الله حرام ڪيا آهن يا ٻئي ماديون. يا اهي ڦر جيڪي رڍن ۽ ٻڪرين جي پيٽ ۾ آهن. مون کي دليل سان ٻڌايو جيڪڏهن اوهان سچا آهيو. ۽ اِهڙي طرح ٻہ اُٺ جي قسم مان آهن ۽ ٻہ ڳائي مال جي قسم مان. پڇو تہ ٻئي نر الله حرام ڪيا آهن يا ٻئي ماديون. يا اُهي ڦرجيڪي ڏاچي ۽ ڳئون جي پيٽ ۾ آهن. ڇا توهين ان وقت حاضر هئا جڏهن الله اوهان کي اِهي حڪم ڏنا هئا. پوءِ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو جيڪو الله تي ڪوڙا ناهہ ٺاهي، تہ جيئن هو ماڻهن کي گمراهہ ڪري بغير ڪنهن علم جي. بيشڪ الله ظالمن کي راهہ نہ ٿو ڏيکاري. چئو، مون تي جيڪو وحي آيو آهي، ان ۾ مون کي ڪا اِهڙي شيءِ نہ ٿي ملي جيڪا حرام هجي ڪنهن کائڻ واري تي، سواءِ ان جي جو اُهو مردار هجي يا وهايل رت هجي يا سوئر جو گوشت هجي جيڪو ناپاڪ آهي. يا ناجائز ذبح ڪيل جانور جنهن تي الله کانسواءِ ڪنهن ٻئي جو نالو پڪاريو ويو هجي. پر جيڪو ماڻهو بک کان لاچار ٿي وڃي، نہ وري نافرماني ڪري ۽ نہ زيادتي ڪري، تہ تنهنجو رب بخشڻ وارو مهربان آهي. ١٤٣-١٤٥

---

عربن ۾ گوشت ۽ کير وغيره جي لاءِ جيڪي جانور پاليا ويندا هئا. انهن ۾ چار وڌيڪ مشهور هئا. رڍ ۽ ٻڪري ۽ اٺ ۽ ڳئون. انهن جي باري ۾ انهن مختلف قسم جا حرمت وارا قاعدا ٺاهي ورتا هئا. پر انهن حرمت وارن قاعدن جي پويان سندن مشرڪاڻن رواجن کانسواءِ ڪو دليل انهن وٽ نہ هو. رڍ ۽ ٻڪري ۽ اٺ ۽ ڳئون، چاهي نر هجي يا مادي، عقلي طور تي حرمت جو ڪو سبب انهن جي اندر موجود نہ آهي. انهن جو سڄي جو سڄو گوشت انسان جي لاءِ بهترين غذا آهي. انهن ۾ ڪا اهڙي ناپاڪ عادت بہ نہ آهي جيڪا انهن جي باري ۾ انساني طبيعت ۾ ڪراهت پيدا ڪندي هجي. آسمان تان نازل ٿيل علم ۾ بہ انهن جي حرمت جو ذڪر نہ آهي.

پوءِ ايئن چو ڏيندو آهي تہ انهن جانورن جي باري ۾ ماڻهن جي اندر طرح طرح جا حرمت وارا قاعدا ٺهي ويندا آهن. ان جي وجهہ شيطاني ترغيب آهي. انسان جي اندر فطري طور تي خدا جو شعور ۽ حرام ۽ حلال جو احساس موجود آهي. ماڻهو پنهنجي ان فطرت جي ڪري ڪنهن هستي کي پنهنجو خدا ٺاهڻ چاهي ٿو ۽ شين ۾ جائز ۽ ناجائز جو فرق ڪرڻ چاهي ٿو. شيطان اُن حقيقت کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو. هو سمجهي ٿو تہ انسان کي جيڪڏهن عام حالتن ۾ عمل ڪرڻ جو موقعو مليو تہ هو فطرت جي صحيح رستي کي پڪڙي وٺندو. ان ڪري هو انسان کي سندس فطرت کان پري ڪرڻ جي لاءِ طرح طرح جا غلط رواج قائم ڪندو آهي. هو خدا جي نالي تي ڪجهہ فرضي خدا گهڙيندو آهي. هو حرام ۽ حلال جي نالي تي ڪجهہ بي بنياد حرمتون ٺاهيندو آهي. اِهڙي طرح شيطان اِها ڪوشش ڪندو آهي تہ ماڻهو انهن فرضي شين ۾ الجهي وڃي ۽ اصل سچائي تائين نہ پهچي، هو سڌي رستي کان ڀٽڪي ويو هجي، پر اهو سمجهي تہ آئون ”رستي“ تي آهيان. حالانڪ اُها هڪ ڦڏي لڪير هجي نہ وري سڌو ۽ سچو رستو.

جيڪي ماڻهو اهڙي طرح شيطان جي ورغلائڻ ۾ اچي ويا هجن اُهي خدا جي نظر ۾ ظالم آهن. انهن کي خدا سمجهہ ڏني هئي جنهن سان هو حق ۽ باطل ۾ فرق ڪري پيا سگهن. پر انهن جا تعصب انهن جي لاءِ پردو ٺهي ويا. سمجهڻ جي صلاحيت رکڻ جي باوجود سمجهڻ کان پري رهيا.

وَ عَلَى الَّذِيْنَ هَادُوْا حَرَّمْنَا كُلَّ ذِيْ ظُفُرٍ ۚ وَ مِنَ الْبَقَرِ وَ الْغَنَمِ حَرَّمْنَا عَلَيْهِمْ شُحُوْمَهُمَاۤ اِلَّا مَا حَمَلَتْ ظُهُوْرُهُمَاۤ اَوِ الْحَوَايَاۤ اَوْ مَا اخْتَلَطَ بِعَظْمٍ ؕ ذٰلِكَ جَزَيْنٰهُمْ بِبَغْيِهِمْ ۖ وَ اِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿١٤٦﴾ فَاِنْ كَذَّبُوْكَ فَقُلْ رَّبُّكُمْ ذُوْ رَحْمَةٍ وَّاسِعَةٍ ۚ وَ لَا يُرَدُّ بَاْسُهٗ عَنِ الْقَوْمِ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿١٤٧﴾

۽ يهودين تي اسان سڀ ننهن وارا جانور حرام ڪيا هئا ۽ ڳئون ۽ ٻڪري جي چربي بہ حرام ڪئي، سواءِ ان جي جيڪا انهن جي پٺين يا آنڊن تي لڳل هجي يا هڏن سان چنبڙيل هجي. اِها سزا ڪين سندن سرڪشيءَ جي ڪري ڏني هئي سون ۽ يقيناً اسان سچا آهيون. پوءِ جيڪڏهن هو توکي ڪوڙو ڪن تہ ڪين چؤ توهان جو رب ڪشادي رحمت وارو آهي. ۽ ان جو عذاب مجرم ماڻهن کان ٽري نہ ٿو سگهي. ١٤٦-١٤٧

---

خدا جي شريعت ۾ اصل حرام شيون هميشہ اُهي ئي رهيون آهن جيڪي مٿين آيتن ۾ بيان ٿيون آهن يعني مردار، وهايل رت، سوئر جو گوشت ۽ اهو جانور جنهن کي غير الله جي نالي تي ذبح ڪيو ويو هجي. انهن کانسواءِ جيڪڏهن ڪجهہ شيون حرام آهن تہ اهي انهن جي تشريح ۽ تفصيل آهن.

پر انهيءَ سان گڏ الله جي هڪ ٻي حرمت واري سنت آهي، اُها اِها آهي تہ جڏهن ڪا ڪتاب واري قوم اطاعت جي بجاءِ سرڪشيءَ جو طريقو اختيار ڪندي آهي تہ ان جي سرڪشي جي سزا طور اُن کي نين نين مشڪلن ۾ وڌو ويندو آهي. ان تي اهڙيون شيون حرام ڪري ڇڏيون آهن جيڪي خدا جي اصل شريعت ۾ حرام نہ هيون. ان حرمت جي شڪل ڪهڙي هوندي آهي. ان جي هڪ شڪل اِها هوندي آهي جو ان قوم جي اندر اِهڙا پيشوا پيدا ٿيندا آهن جيڪي دين جي حقيقت کان بلڪل خالي هوندا آهن.

اُهي رڳو ظاهري دينداريءَ کان واقف هوندا آهن. اهڙن ماڻهن جو حال اِهو هوندو آهي ته جيڪو اهتمام دين جي معنوي حقيقتن ۾ ڪرڻ کپي، اُهوئي اهتمام هو ظاهري آدابن ۽ قاعدن ۾ ڪرڻ لڳندا آهن. ان جي نتيجي ۾ دين جي ظاهري پهلو ۾ غير ضروري بحث مباحث وجود ۾ ايندا آهن. اِهڙا ماڻهو دين جا هٽ نوڪيل ظاهري معيار تخليق ڪندا آهن. اُهي مبالغو ۽ شدت اختيار ڪري سادي حڪم کي پيچيده ۽ جائز شيءِ کي ناجائز بڻائي ڇڏيندا آهن.

مثلاً يهودين جي اندر جڏهن سرڪشي آئي ته انهن جي وچ ۾ اهڙا عالم پيدا ٿيا جن پنهنجن غير ضروري بحث مباحثن سان اهو قاعدو ٺاهيو ته ڪنهن ڍور جي حلال هئڻ جي لاءِ هڪئي وقت ٻه شرط ضروري آهن. هڪ اِهو ته ان جا پير چيريل هجن، ٻيو اِهو ته هو اوڳر به ڪندو هجي. انهن مان ڪو هڪ شرط به جيڪڏهن نه هجي ته اُهو جانور حرام سمجهيو ويندو. ان هٽ نوڪيل شرط جي ڪري اٺ ۽ سيهڙ جهڙيون شيون به خوامخواه حرام قرار ڏنيون ويون. اِهڙي طرح نَنهن جي تشريح ۾ مبالغو ڪري انهن غير ضروري طور تي اُٺ پکي، هنج ۽ بدڪ وغيره پنهنجي لاءِ حرام ڪري ورتا. اهڙي قسم جي غير فطري بندشن انهن جي لاءِ اُتي تنگي پيدا ڪري ڇڏي، جتي خدا انهن جي لاءِ ڪشادگي رکي هئي.

حق کي نه مڃڻ ڪانپوءِ ماڻهو يڪدم خدا جي پڪڙ ۾ نه ٿو اچي. هُو پاڻ کي آزاد ۽ مطمئن ڏسي ٿو. ان ڪري اڪثر هو ان غلط فهمي ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي ته حق کي نه مڃڻ سان ان جو ڪجهه به بگڙڻ وارو نه آهي. ان کان وسري ٿو وڃي ته هو رڳو خدا جي رحمت جي ڪري بچيل آهي. خدا ماڻهوءَ جي سرڪشي جي باوجود ان کي آخري حد تائين موقعو ڏيندو آهي. آخرڪار جڏهن هو پنهنجو طريقو نه ٿو بدلي ته اچانڪ خدا جو عذاب ان کي پنهنجي پڪڙ ۾ وٺي ٿو ڇڏي. ڪڏهن دنيا ۾ ۽ ڪڏهن دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾.

سَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا لَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَآ اَشْرَكْنَا وَ لَآ اٰبَآؤُنَا وَ لَا حَرَّمْنَا مِنْ شَيْءٍ ؕ
كَذٰلِكَ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ حَتّٰى ذَاقُوْا بَاْسَنَا ؕ قُلْ هَلْ عِنْدَكُمْ مِّنْ عِلْمٍ
فَتُخْرِجُوْهُ لَنَا ؕ اِنْ تَتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا تَخْرُصُوْنَ ﴿١٤٨﴾ قُلْ فَلِلّٰهِ الْحُجَّةُ
الْبَالِغَةُ ۚ فَلَوْ شَآءَ لَهَدٰىكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٤٩﴾ قُلْ هَلُمَّ شُهَدَآءَكُمُ الَّذِيْنَ يَشْهَدُوْنَ اَنَّ
اللّٰهَ حَرَّمَ هٰذَا ۚ فَاِنْ شَهِدُوْا فَلَا تَشْهَدْ مَعَهُمْ ۚ وَ لَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا
ع ١٨ بِاٰيٰتِنَا وَ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ وَ هُمْ بِرَبِّهِمْ يَعْدِلُوْنَ ﴿١٥٠﴾

جن شرڪ ڪيو اُهي چوندا ته جيڪڏهن الله چاهي ها ته اسان شرڪ نه ڪريون ها ۽ نه اسان جا ابا ڏاڏا ڪن ها ۽ نه اسان ڪنهن شيءِ کي حرام ڪريون ها. انهن کان اڳين ماڻهن به اهڙيءَ طرح ڪوڙو ڄاتو هو. ايستائين جو انهن اسان جو عذاب چکيو. چؤ ڇا توهان وٽ ڪو علم آهي جنهن کي توهان اسان جي سامهون پيش ڪريو. توهان ته رڳو گمان جي پيروي ڪري رهيا آهيو ۽ رڳو اٽڪل کان ڪم وٺو ٿا. چؤ ته ڪامل حجت ته الله جي آهي ۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته توهان سيني کي هدايت ڏئي ڇڏي ها. چؤ ته پنهنجا شاهد آڻيو جيڪي ان تي شاهدي

ڏين تہ الله انهن شين کي حرام ڪيو آهي. جيڪڏهن هو ڪوڙي شاهدي ڏئي بہ ڇڏين تہ تون انهن سان گڏ شاهدي نہ ڏجان ۽ تون انهن ماڻهن جي خواهشن جي پيروي نہ ڪر جن اسان جي نشانين کي ڪوڙو ڄاتو ۽ جيڪي آخرت تي ايمان نہ ٿا رکن ۽ ٻين کي پنهنجي رب جي برابر ڪن ٿا. ١٤٨-١٥٠

---

خالص حق جي دعوت هميشہ پنهنجي ماحول ۾ اجنبي دعوت هوندي آهي. هڪ پاسي رواجي دين هوندو آهي، جنهن کي سڀني اجتماعي ادارن ۾ غلبي جو مقام حاصل هوندو آهي. صدين جون روايتون ان کي مضبوط ڪرڻ جي لاءِ ان جي پويان ان سان گڏ موجود هونديون آهن. ٻئي طرف حق جي دعوت هوندي آهي، جيڪا انهن سڀني اضافي خاصيتن کان خالي هوندي آهي. اهڙي حالت ۾ ماڻهن جي لاءِ اهو سمجهڻ مشڪل ٿي ويندو آهي تہ جنهن دين کي ايترو درجو ۽ ايتري مقبوليت حاصل هجي، اُهو دين خدا جي پسند جي مطابق نہ هوندو. ماڻهو فرض ڪري ٿا ونن تہ رواجي دين جو ايترو ڦهلاءَ انهيءَ لاءِ ممڪن ٿي سگهيو آهي جو خدا جي مرضي ان سان گڏ شامل هئي. جيڪڏهن ايئن نہ هجي ها تہ هِن کي ايترو ڦهلاءُ ۽ مقبوليت ڪڏهن بہ حاصل نہ ٿئي ها. اُهي چوندا آهن تہ جنهن دين کي خدا جي دنيا ۾ هر طرف بلند مقام حاصل هجي، اُهو خدا جو پسنديده دين هوندو يا اُهو دين جنهن کي خدا جي دنيا ۾ ڪٿي بہ ڪو مقام حاصل نہ آهي.

پر حق ۽ باطل جو فيصلو حقيقي دليلن تي هوندو آهي، نہ وري اِهڙي قسم جي قياسن تي. خدا هِن دنيا کي امتحان گاهہ بڻايو آهي. هِتي ماڻهو کي اِهو موقعو آهي تہ هو جنهن شيءِ کي چاهي اختيار ڪري ۽ جنهن شيءِ کي چاهي اختيار نہ ڪري. اِهو معاملو سراسر ماڻهو جي هٿ ۾ آهي. اِهڙي حالت ۾ ڪنهن شيءِ جو عام رواج ۾ هجڻ ان جي برحق هئڻ جو دليل نہ ٿو بڻجي سگهي. ڪا شيءِ حق تي آهي يا نہ، اُن جو فيصلو دليل جي بنياد تي ٿيندو نہ وري رواجي عمل جي بنياد تي.

دنيا کي الله امتحان گاهہ بڻايو آهي. انسان تي پنهنجي مرضي زوري مسلط ڪرڻ بجاءِ اُهو طريقو اختيار ڪيو تہ انسان کي صحيح ۽ غلط جو علم ڏنو ۽ اِهو معاملو انسان جي مٿان ڇڏي ڏنو تہ هو صحيح کي وٺي ٿو يا غلط کي. ان جو مطلب اِهو آهي تہ دنيا جي زندگي ۾ دليل (حجت) خدا جو نمائندو آهي. ماڻهو جڏهن هڪ سچي دليل جي اڳيان جهڪندو آهي تہ هو ڄڻ خدا جي اڳيان جهڪندو آهي. ۽ جيڪڏهن هو هڪ سچي دليل کي مڃڻ کان انڪار ڪندو آهي تہ هو ڄڻ خدا کي مڃڻ کان انڪار ڪندو آهي.

جڏهن ماڻهو دليل جي اڳيان نہ ٿو جهڪي تہ ان جي وجهہ اِها هوندي آهي تہ هو پنهنجي خواهش کي نہ ٿو ڇڏي سگهي. هو باطل کي حق چوڻ جي لاءِ بيهي رهندو آهي تہ جيئن پنهنجي عمل کي جائز ثابت ڪري سگهي. ان جي بيحيائي ان کي ايستائين وٺي ويندي آهي جو هو خدا جي نشانين کي نظر انداز ڪري ڇڏيندو آهي. هو ان ڳالھ کان بي پرواھ ٿي ويندو آهي تہ خدا ان کي آخرڪار پڪڙڻ وارو آهي. هو ٻين شين کي اُها اهميت ڏئي ڇڏيندو آهي جيڪا اهميت رڳو خدا کي ڏيڻ کپي.

قُلْ تَعَالَوْا اَتْلُ مَا حَرَّمَ رَبُّكُمْ عَلَيْكُمْ اَلَّا تُشْرِكُوْا بِهٖ شَيْـًٔا وَّ بِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ۚ وَ لَا تَقْتُلُوْٓا اَوْلَادَكُمْ مِّنْ اِمْلَاقٍ ؕ نَحْنُ نَرْزُقُكُمْ وَ اِيَّاهُمْ ۚ وَ لَا تَقْرَبُوا الْفَوَاحِشَ مَا

ظَهَرَ مِنۡهَا وَ مَا بَطَنَ ۚ وَ لَا تَقۡتُلُوا النَّفۡسَ الَّتِیۡ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالۡحَقِّ ؕ ذٰلِكُمۡ وَصّٰىكُمۡ
بِهٖ لَعَلَّكُمۡ تَعۡقِلُوۡنَ ﴿۱۵۱﴾

چؤ، اچو آئون ٻڌايان اُهي شيون جيڪي توهان جي رب اوهان تي حرام ڪيون آهن. هي ته اوهان ان سان ڳڻ ڪنهن شيءِ کي شريڪ نه ڪريو ۽ ماءُ پيءُ سان نيڪ سلوڪ ڪريو ۽ پنهنجي اولاد کي سُڃائيءَ جي خوف کان قتل نه ڪريو. اسان اوهان کي به روزي ڏيندا آهيون ۽ انهن کي به. ۽ بيحيائيءَ جي ڪم جي ويجها نه وڃو، چاهي اُهو پڌرو هجي يا لڪيل. ۽ جنهن جان کي الله حرام ڪيو آهي ان کي نه ماريو سواءِ حق جي. اِهي ڳالهيون آهن جن جي الله اوهان کي هدايت فرمائي آهي ته جيئن اوهان عقل کان ڪم وٺو. ١٥١

---

خدائي پابندين جي نالي تي ماڻهو طرح طرح جون رسمي ۽ ظاهري پابنديون ٺاهي وٺندا آهن ۽ انهن جو خاص اهتمام ڪري مطمئن ٿي ويندا آهن ته انهن خدائي پابندين جو حق ادا ڪري ڇڏيو. پر خدا انسان کان جن پابندين جو اهتمام گهري ٿو، اُهي حقيقي پابنديون آهن نه وري ڪنهن قسم جون رسمي پابنديون.

سيني کان پهرين شيءِ اِها آهي ته ماڻهو هڪ خدا کي پنهنجو خدا ٺاهي. ان ڪانسواءِ ڪنهن جي وڏائي ان جي ذهن تي غالب نه ٿئي. ان ڪانسواءِ ڪنهن کي هو ڀروسي جي قابل نه سمجهي. ان ڪانسواءِ ڪنهن مان هو اميدون نه رکي. ان ڪانسواءِ هو ڪنهن کان نه ڊڄي ۽ نه ان ڪانسواءِ ڪنهن سان شديد محبت ڪري.

والدين اڪثر حالتن ۾ ڪمزور ۽ محتاج هوندا آهن ۽ اولاد طاقتور. انهن سان حسن سلوڪ جو ڪارڻ مفاد نه هوندو آهي، بلڪ حق شناسي هوندو آهي. اهڙي طرح والدين جا حق ادا ڪرڻ جو معاملو ماڻهوءَ جي لاءِ ان ڳالهه جو سيني کان پهريون امتحان بڻجي ٿو وڃي ته هُن خدا جي دين کي قول جي سطح تي اختيار ڪيو آهي يا عمل جي سطح تي. جيڪڏهن هو والدين جي ڪمزوري جي بجاءِ انهن جي حق کي اهميت ڏي، جيڪڏهن پنهنجي دوستن ۽ ٻارن ٻچن جي محبت ان کي والدين کان پري نه ڪري ته چئُ هُن ان ڳالهه جو پهريون ثبوت ڏئي ڇڏيو ته ان جو اخلاق اصول پسندي ۽ حق شناسي جي تابع هوندو نه وري مفاد ۽ مصلحت جي تابع.

انسان پنهنجي حرص ۽ ظلم جي ڪري خدا جي پيدا ڪيل رزق کي سيني ٻانهن تائين انصاف سان پهچڻ نه ٿو ڏي. ۽ جڏهن ان جي ڪري مصنوعي قلت جا مسئلا پيدا ٿيندا آهن ته هو چوندو آهي ته کائڻ وارن کي قتل ڪري ڇڏيو يا پيدا ٿيڻ وارن کي پيدا نه ٿيڻ ڏيو. اِهڙي قسم جون ڳالهيون خدا جي رزق جي نظام تي بهتان جي هم معنيٰ آهن.

گهٽيون برابريون اِهڙيون آهن جيڪي پنهنجي فطرت ۾ ايتريون فحش هونديون آهن جو انهن کي برائي سمجهڻ جي لاءِ ڪنهن وڏي علم جي ضرورت نه هوندي آهي. انساني فطرت ۽ ان جو ضمير ئي اهو ٻڌائڻ جي لاءِ ڪافي آهي ته اِهو ڪم انسان جي ڪرڻ جي قابل نه آهي. اهڙي حالت ۾ جيڪو شخص ڪنهن فحاشي يا بيحيائي جي ڪم ۾ مبتلا هجي. اِهو چئُ ته ثابت ڪري رهيو آهي ته هو هِن ابتدائي انسانيت جي درجي کان به محروم آهي، جتان ڪنهن انسان جي انسان هئڻ جو آغاز ٿيندو آهي.

هر انسان جي جان محترم آهي. ڪنهن انسان کي هلاڪ ڪرڻ ڪنهن جي لاءِ جائز نه آهي

جيستائين خالق جي قانون جي مطابق هو اِهڙو جرم نہ ڪري جنهن ۾ ان جي جان وٺڻ خاص شرطن سان جائز ٿي وڃي. اهي ڳالهيون ايتريون پڌريون آهن جو عقل کان ڪم وٺڻ وارو انهن جي صداقت کي ڄاڻڻ کان محروم نہ ٿو رهي سگهي.

وَ لَا تَقْرَبُوْا مَالَ الْيَتِيْمِ اِلَّا بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ حَتّٰى يَبْلُغَ اَشُدَّهٗ ۚ وَ اَوْفُوا الْكَيْلَ وَ الْمِيْزَانَ بِالْقِسْطِ ۚ لَا نُكَلِّفُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ۚ وَ اِذَا قُلْتُمْ فَاعْدِلُوْا وَ لَوْ كَانَ ذَا قُرْبٰى ۚ وَ بِعَهْدِ اللّٰهِ اَوْفُوْا ؕ ذٰلِكُمْ وَصّٰىكُمْ بِهٖ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿۱۵۲﴾ وَ اَنَّ هٰذَا صِرَاطِيْ مُسْتَقِيْمًا فَاتَّبِعُوْهُ ۚ وَ لَا تَتَّبِعُوا السُّبُلَ فَتَفَرَّقَ بِكُمْ عَنْ سَبِيْلِهٖ ؕ ذٰلِكُمْ وَصّٰىكُمْ بِهٖ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿۱۵۳﴾

۽ يتيم جي مال کي ويجها نہ وڃو سواءِ اِهڙي طريقي جي جيڪو بهتر هجي، ايستائين جو هو پنهنجي جواني کي پهچي وڃي. ۽ ماپ تور ۾ پورو انصاف ڪريو. اسان ڪنهن بہ ماڻهو کي سندس طاقت کان وڌيڪ تڪليف نٿا ڏيون. ۽ جڏهن ڳالهايو تہ انصاف جي ڳالهہ ڪريو، چاهي معاملو اوهان جي مٽ مائٽ جو ڇو نہ هجي. ۽ الله سان ڪيل عهد کي پورو ڪريو. اِهي شيون آهن جن جو الله اوهان کي حڪم ڏنو آهي، تہ جيئن اوهان نصيحت پرايو. ۽ الله حڪم ڏنو آهي تہ اِهوئي منهنجو سڌو رستو آهي. تنهن ڪري اُن تي ئي هلو ۽ ٻين رستن تي نہ هلو، ڇاڪاڻ تہ اُهي اوهان کي الله جي رستي کان جدا ڪري ڇڏيندا. اِهو الله اوهان کي حڪم ڏنو آهي تہ جيئن اوهان پرهيزگاري اختيار ڪريو. ١٥٢-١٥٣

---

يتيم ڪنهن سماج جو سڀني کان ڪمزور فرد هوندو آهي. اُهي سيئي سبب ان جي ذات کان پري ٿي ويندا آهن جيڪي عام طور تي ڪنهن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ جو ڪارڻ هوندا آهن. ”يتيم“ سان ذميداري جو معاملو اُهوئي شخص ڪري سگهي ٿو جيڪو خالص اصولي بنياد تي باڪردار هجي، نہ وري فائدي ۽ مصلحت جي بنياد تي. يتيم ڪنهن سماج ۾ حسن سلوڪ جي آخري علامت هوندو آهي. جيڪو ماڻهو يتيم سان خير خواهي جو سلوڪ ڪري، اُهو ٻين ماڻهن سان اڃا وڌيڪ خير خواهي جو سلوڪ ڪندو.

ڪائنات جي هر شيءِ ٻي شيءِ سان اهڙي طرح وابستہ آهي جو هر شيءِ ٻئي کي اُهوئي ڏيندي آهي جيڪا ان کي ڏيڻ کپي ۽ ٻين کان اُها ئي شيءِ وٺندي آهي جيڪا ان کي وٺڻ کپي. اِهوئي اصول انسان کي پنهنجي زندگيءَ ۾ اختيار ڪرڻو آهي. انسان کي کپي تہ جڏهن هو ٻين انسانن جي لاءِ ماپي تہ نيڪ ماپي ۽ جڏهن توري تہ نيڪ توري. ايئن نہ ڪري جو پنهنجي لاءِ هڪڙو پيمانو استعمال ڪري ۽ غير جي لاءِ ٻيو پيمانو.

زندگيءَ ۾ بار بار اهڙا موقعا ايندا آهن جو ماڻهوءَ کي ڪنهن جي خلاف راءِ جو اظهار ڪرڻو هوندو آهي. اهڙي موقعي تي خدا جو پسنديده طريقو اِهو آهي تہ ماڻهو اِها ئي ڳالهہ چوي جيڪا انصاف جي معيار مطابق هجي. ڪو پنهنجو هجي يا غير هجي، ان سان دوستيءَ جو تعلق هجي يا دشمنيءَ جو تعلق، اهڙو ماڻهو هجي جنهن سان ڪو فائدو وابستہ هجي يا اهڙو ماڻهو هجي جنهن سان ڪو فائدو وابستہ

نہ هجي، انهن سيني شين جي پرواھ ڪرڻ کان سواءِ ماڻهو اُهو ئي چوي جيڪو واقعي درست ۽ حق آهي. هر ماڻهو فطرت جي عهد ۾ ٻڌل آهي. ڪو عهد لکيل هوندو آهي ۽ ڪو عهد اُهو هوندو آهي جيڪو لفظن ۾ لکيل نہ هوندو آهي، پر ماڻهوءَ جي ايمان، ان جي انسانيت ۽ ان جي شرافت جي تقاضا هوندي آهي تہ ان موقعي تي ايئن ڪرڻ کپي. ٻنهي قسمن جي عهدن کي پورو ڪرڻ هر مؤمن ۽ مسلم جو فرض آهي. اِهي سيئي ڳالهيون بلڪل پڌريون آهن. آسماني وحي ۽ ماڻهو جو عقل ان جي حق تي هئڻ جي گواهي ڏئي رهيا آهن. پر انهن مان اُهوئي ماڻهو نصيحت وٺندو جيڪو پاڻ بہ نصيحت وٺڻ چاهي ٿو.

اهي حُڪمَ (١٥١-١٥٣) شريعت الٰهي جا بنيادي حڪم آهن، انهن تي انهن جي سڌي مفهوم جي لحاظ کان عمل ڪرڻ خدا جي سڌي رستي تي هلڻ آهي ۽ جيڪڏهن تاويل ۽ اجائي تفصيل ۾ وڃڻ جي ذريعي انهن مان اضافي راهون ڪڍيون وڃن ۽ پوءِ سڄو زور انهن راهن تي ڏنو وڃي تہ اهو هيڏانهن هوڏانهن جي جدا جدا رستن تي ڀٽڪڻ آهي، جيڪو ڪڏهن بہ ماڻهو کي خدا تائين نہ ٿو پهچائي.

ثُمَّ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ تَمَامًا عَلَى الَّذِيْٓ اَحْسَنَ وَ تَفْصِيْلًا لِّكُلِّ شَيْءٍ وَّ هُدًى وَّ
ع ١٩ ٦ رَحْمَةً لَّعَلَّهُمْ بِلِقَآءِ رَبِّهِمْ يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٥٤﴾ وَ هٰذَا كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ مُبٰرَكٌ فَاتَّبِعُوْهُ وَ اتَّقُوْا
لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿١٥٥﴾ اَنْ تَقُوْلُوْٓا اِنَّمَآ اُنْزِلَ الْكِتٰبُ عَلٰى طَآئِفَتَيْنِ مِنْ قَبْلِنَا ۪ وَ اِنْ كُنَّا
عَنْ دِرَاسَتِهِمْ لَغٰفِلِيْنَ ﴿١٥٦﴾ اَوْ تَقُوْلُوْا لَوْ اَنَّآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا الْكِتٰبُ لَكُنَّآ اَهْدٰى مِنْهُمْ ۚ
فَقَدْ جَآءَكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ هُدًى وَّ رَحْمَةٌ ۚ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَ
صَدَفَ عَنْهَا ؕ سَنَجْزِي الَّذِيْنَ يَصْدِفُوْنَ عَنْ اٰيٰتِنَا سُوْٓءَ الْعَذَابِ بِمَا كَانُوْا
يَصْدِفُوْنَ ﴿١٥٧﴾ هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ تَاْتِيَهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَوْ يَاْتِيَ رَبُّكَ اَوْ يَاْتِيَ بَعْضُ اٰيٰتِ
رَبِّكَ ؕ يَوْمَ يَاْتِيْ بَعْضُ اٰيٰتِ رَبِّكَ لَا يَنْفَعُ نَفْسًا اِيْمَانُهَا لَمْ تَكُنْ اٰمَنَتْ مِنْ قَبْلُ اَوْ
كَسَبَتْ فِيْٓ اِيْمَانِهَا خَيْرًا ؕ قُلِ انْتَظِرُوْٓا اِنَّا مُنْتَظِرُوْنَ ﴿١٥٨﴾

پوءِ اسان موسيٰ کي ڪتاب ڏنو، نيڪ ڪم ڪرڻ وارن تي پنهنجي نعمت پوري ڪرڻ جي لاءِ ۽ هر ڳالھ جي تفصيل ۽ هدايت ۽ رحمت، تہ جيئن هو پنهنجي رب سان ملڻ جو يقين ڪن. ۽ اِهڙيءَ طرح اسان اِهو ڪتاب نازل ڪيو آهي، هڪ برڪت وارو ڪتاب. تنهن ڪري ان تي هلو ۽ الله کان ڊڄو تہ جيئن اوهان تي رحمت ڪئي وڃي. ان ڪري جو اوهان اهو نہ چوڻ لڳو تہ ڪتاب تہ اسان کان اڳين ٻين گروهن کي ڏنو ويو هو ۽ اسان انهن کي پڙهڻ پڙهائڻ کان بيخبر هئاسين. يا چئو تہ جيڪڏهن اسان تي ڪتاب نازل ٿئي ها تہ اسان انهن کان بهتر راھ تي هلڻ وارا هجون ها. سو اچي چڪو اوهان وٽ اوهان جي رب جي طرفان هڪ روشن دليل ۽ هدايت ۽ رحمت. پوءِ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير هوندو جيڪو الله جي نشانين کي ڪوڙو چوي ۽ انهن کان منهن موڙي. جيڪي ماڻهو اسان جي نشانين کان منهن موڙيندا آهن، اسان انهن کي سندن منهن موڙڻ جي ڪري وڌيڪ بڇڙو عذاب ڏينداسون. ڇا اِهي ماڻهو انتظار ۾ آهن تہ وٽن ملائڪ اچن يا تنهنجو رب اچي يا تنهنجي رب جي نشانين مان ڪا نشاني ظاهر ٿئي. جنهن ڏينهن تنهنجي رب جي نشانين مان ڪا نشاني اچي پهچندي تہ ڪنهن

ماڻهوءَ ڪي ان جو ايمان فائدو نہ ڏيندو، جنهن اڳ ۾ ايمان نہ آندو هجي يا پنهنجي ايمان ۾ ڪجھ نيڪي نہ ڪئي هجي. چئو توهان بہ انتظار ڪريو، اسين بہ انتظار ڪري رهيا آهيون. ١٥٤-١٥٨

---

خدا جي طرفان جيڪو ڪتاب ايندو آهي، ان ۾ جيتوڻيڪ گهڻا تفصيل هوندا آهن، پر اصل ۾ انهن جو مقصد رڳو صرف هڪ هوندو آهي تہ ماڻهو پنهنجي رب سان ملاقات جو يقين ڪري. يعني دنيا ۾ هوُ اِهڙي طرح زندگي گذاري جو هو پنهنجي هر عمل لاءِ پاڻ ڪي خدا جي اڳيان جواب ڏيڻ جو پابند سمجهي. ان جي زندگي هڪ ذميداراڻي زندگي هجي، نہ وري آزاد ۽ بي قيد زندگي. اِهوئي اڳين ڪتابن جو مقصد هو ۽ اِهوئي قرآن جو مقصد آهي.

خدا دنيا کي پنهنجي جبر جي حڪم تحت پنهنجو پابند بڻائي رکيو آهي. پر انسان کي هُن پورو اختيار ڏئي ڇڏيو آهي. اُن انسان جي هدايت لاءِ اِهو طريقو رکيو آهي تہ رسول ۽ ڪتاب جي ذريعي دليل جي زبان ۾ هو ماڻهن کي حق ۽ باطل کان باخبر ڪندو آهي. دنيا ۾ خدا جي مرضي ماڻهن جي سامهون دليل جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي. هِتي دليل کي مڃڻ خدا کي مڃڻ آهي ۽ دليل جو انڪار خدا جو انڪار آهي.

قيامت جو ڏماڪو ٿيڻ ڪانپوءِ سيئي لڪيل حقيقتون ماڻهن جي سامهون اچي وينديون. ان وقت هر ماڻهو خدا ۽ ان جي ڳالهين کي مڃڻ تي مجبور هوندو. پر ان وقت جي مڃڻ جي ڪا قيمت نہ آهي. مڃڻ اُهوئي مڃڻ آهي جيڪو غيب جي حالت ۾ مڃيو وڃي. ايمان اصل ۾ اِهو آهي تہ ڏسڻ ڪانپوءِ ماڻهو جيڪو ڪجھ مڃڻ تي مجبور ٿي ويندو، ان کي هو ڏٺي بغير مڃي وٺي. جيڪو ماڻهو ڏسي مڃي ان جڻ تہ مڃو نہ.

جيڪي ماڻهو اڄ اختيار رکڻ جي باوجود پاڻ کي خدا جو پابند بڻائي وٺن، انهن جي لاءِ خدا وٽ جنت آهي. ان جي ابتڙ جيڪي ماڻهو قيامت اچڻ ڪانپوءِ خدا جي اڳيان جهڪن، انهن جو جهڪڻ رڳو انهن جي جرم کي وڌيڪ ثابت ڪرڻ جي هم معنيٰ ٿيندو. ان جو مطلب اِهو ٿيندو تہ انهن خود پنهنجي اعتراف جي مطابق هڪ مڃڻ واري ڳالھ کي نہ مڃيو، انهن هڪ ڪرڻ واري ڪم کي نہ ڪيو.

اِنَّ الَّذِيۡنَ فَرَّقُوۡا دِيۡنَهُمۡ وَ كَانُوۡا شِيَعًا لَّسۡتَ مِنۡهُمۡ فِىۡ شَىۡءٍ ؕ اِنَّمَاۤ اَمۡرُهُمۡ اِلَى اللّٰهِ ثُمَّ يُنَبِّئُهُمۡ بِمَا كَانُوۡا يَفۡعَلُوۡنَ ﴿۱۵۹﴾ مَنۡ جَآءَ بِالۡحَسَنَةِ فَلَهٗ عَشۡرُ اَمۡثَالِهَا ۚ وَ مَنۡ جَآءَ بِالسَّيِّئَةِ فَلَا يُجۡزٰۤى اِلَّا مِثۡلَهَا وَ هُمۡ لَا يُظۡلَمُوۡنَ ﴿۱۶۰﴾

جن پنهنجي دين ۾ تفرقو وڌو ۽ ٽولا ٽولا بڻجي ويا، تنهنجو انهن سان ڪوبہ واسطو نہ آهي. انهن جو معاملو الله جي حوالي آهي. پوءِ اهوئي انهن کي ٻڌائيندو جيڪو ڪجھ هو ڪندا رهيا. جيڪو ماڻهو نيڪي ڪٽي ايندو تہ ان جي لاءِ ان جو ڏهوڻو آهي ۽ جيڪو شخص برائي ڪٽي ايندو تہ ان کي رڳو ان جي برابر بدلو ملندو ۽ انهن تي ظلم نہ ڪيو ويندو. ١٥٩-١٦٠

---

دين اِهو آهي تہ ماڻهو هڪ خدا ڪانسواءِ ڪنهن کي بہ پنهنجي زندگي ۾ وڏو مقام نہ ڏي. هو حق

شناسي جي بنياد تي تعلقات قائم ڪري نہ وري مفاد جي بنياد تي. جنهن جي پهرين علامت والدين آهن. هو رزق کي خدا جي عطا سمجهي ۽ خدا جي نظام ۾ مداخلت نہ ڪري، هِن معاملي ۾ ماڻهوءَ جي گمراهي اُن کي اولاد جي قتل ۽ نسل کي روڪڻ واري حماقت تائين وٺي وڃي ٿي. هو فحش ۽ بيحيائي جي ڪمن کان بچي، تہ جيئن برائيءَ جي باري ۾ هن جي دل جي حساسيت زنده رهي. هو ڪمزور جو استحصال نہ ڪري، جنهن جو امتحان ماڻهوءَ جي لاءِ يتيم جي صورت ۾ هوندو آهي. هو حقن جي ادائگي ۽ ڏي وٺ ۾ ساهميءَ وانگر بلڪل ٺيڪ رهي. هو پنهنجي زبان جو استعمال هميشہ حق جي مطابق ڪري. هو هِن احساس سان زندگي گذاري تہ هر حال ۾ هو خدا سان عهد ۾ ٻڌل آهي، هو ڪنهن بہ وقت خدائي عهد جي ذميوارين کان آزاد نہ آهي. اِهوئي ڪنهن ماڻهوءَ جي لاءِ خدا جي پسند مطابق زندگي گذارڻ جو سڌو رستو آهي. ماڻهوءَ کي کپي تہ هو ساڄي ۽ کاٻي ڀٽڪڻ جي بغير هِن سڌي رستي تي هميشہ قائم رهي.

مٿي جيڪي ڏهہ حڪم (١٥١-١٥٣) بيان ٿيان آهن، اُهي سڀ سادا فطري حڪم آهن. هر ماڻهوءَ جو عقل انهن جي سچي هئڻ جي شاهدي ڏي ٿو. جيڪڏهن رڳو انهن شين تي زور ڏنو وڃي تہ ڪڏهن بہ اختلاف ۽ فرقہ بندي نہ ٿئي. پر جڏهن قومن تي زوال ايندو آهي تہ انهن ۾ اهڙا اڳواڻ پيدا ٿيندا آهن جيڪي انهن سادن حڪمن ۾ طرح طرح جا غير فطري ۽ قسمين قسمين قانوني نُڪتا ڪڍندا آهن. اِهائي اُها شيءِ آهي جيڪا ديني اتحاد کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندي آهي.توحيد ۾ جيڪڏهن اِهو بحث شروع ڪيو وڃي تہ خدا جسم رکندو آهي يا هو بغير جسم جي آهي. يتيم جي معاملي ۾ اجايا بحث ڪيا وڃن تہ يتيم هئڻ جا شرط ڪهڙا آهن يا اِهو نُڪتو ڪڍيو وڃي تہ انهن خدائي حڪمن تي ان وقت تائين عمل نہ ٿو ٿي سگهي، جيستائين حڪومت تي قبضو نہ هجي. ان ڪري سيني کان پهريون ڪم "غير اسلامي" حڪومت کي تبديل ڪرڻو آهي. اِهڙي قسم جا بحث جيڪڏهن شروع ڪيا وڃن تہ انهن جي ڪا حد نہ هوندي ۽ انهن تي سيني جو اتفاق حاصل ڪرڻ نا ممڪن ٿي ويندو. ان ڪانپوءِ مختلف فڪري ٽولا ٺهجي ويندا. الڳ الڳ فرقا ۽ جماعتون قائم ٿينديون. باهمي اتفاق باهمي اختلاف جي صورت اختيار ڪري وٺندو.

هن سادي ۽ فطري دين تي پنهنجي سڄي توجه لڳائڻ سيني کان وڏي نيڪي آهي. پر ان جي لاءِ ماڻهو کي نفس سان وڙهڻو پوي ٿو. ناساز ماحول جي باوجود صبر ۽ قربانيءَ جو ثبوت ڏيندي ان تي ڄمي رهڻو هوندو آهي. اِهو هڪ وڏو ڏکيو عمل آهي، ان ڪري ان جو بدلو بہ خدا وٽ ڪيترائي ڀيرا وڌائي ڏنو ويندو آهي. جيڪي ماڻهو برائي ڪندا آهن جيڪي خدا جي دنيا ۾ خدا جي مقرر رستي کانسواءِ ٻين رستن تي هلندا آهن، جيتوڻيڪ اهي وڏو جرم ڪندا آهن، پوءِ بہ خدا انهن جي خلاف انتقامي ڪارروائي نہ ٿو ڪري. هو انهن کي ايتري ئي سزا ڏيندو جيترو انهن جرم ڪيو هوندو.

قُلۡ اِنَّنِیۡ هَدٰىنِیۡ رَبِّیۡۤ اِلٰی صِرَاطٍ مُّسۡتَقِیۡمٍ ۚ دِیۡنًا قِیَمًا مِّلَّةَ اِبۡرٰهِیۡمَ حَنِیۡفًا ۚ وَ مَا کَانَ مِنَ الۡمُشۡرِکِیۡنَ ﴿۱۶۱﴾ قُلۡ اِنَّ صَلَاتِیۡ وَ نُسُکِیۡ وَ مَحۡیَایَ وَ مَمَاتِیۡ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ﴿۱۶۲﴾ لَا

شَرِيْكَ لَهٗ ۚ وَ بِذٰلِكَ اُمِرْتُ وَ اَنَا اَوَّلُ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿١٦٣﴾ قُلْ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَبْغِيْ رَبًّا وَّ هُوَ رَبُّ
كُلِّ شَيْءٍ ؕ وَ لَا تَكْسِبُ كُلُّ نَفْسٍ اِلَّا عَلَيْهَا ۚ وَ لَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ۚ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ
مَّرْجِعُكُمْ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿١٦٤﴾ وَ هُوَ الَّذِيْ جَعَلَكُمْ خَلٰٓئِفَ
الْاَرْضِ وَ رَفَعَ بَعْضَكُمْ فَوْقَ بَعْضٍ دَرَجٰتٍ لِّيَبْلُوَكُمْ فِيْ مَاۤ اٰتٰىكُمْ ؕ اِنَّ رَبَّكَ سَرِيْعُ
الْعِقَابِ ۖ وَ اِنَّهٗ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٦٥﴾ ع ٢٠ النصف ٧

چئُ تہ منهنجي رب مون کي سڌو رستو ٻڌائي ڇڏيو آهي. جيڪو بلڪل صحيح دين آهي اِهو ابراهيم جو طريقو آهي ۽ اُهو هڪ طرفو هو ۽ مشرڪن مان نہ هو. چئُ منهنجي نماز ۽ منهنجي قرباني، منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ الله جي لاءِ آهي جيڪو رب آهي سڀني جهان جو. ان جو ڪو شريڪ نہ آهي. ۽ مون کي اِهو ئي حڪم مليو آهي ۽ آئون سڀني کان پهريون فرمانبردار آهيان. چئُ، ڇا آئون الله کانسواءِ ڪو ٻيو رب تلاش ڪريان، جڏهن تہ اُهوئي هر شيءِ جو رب آهي ۽ جيڪو ماڻهو جيڪي ڪجهہ ڪمائي ٿو اُهو مٿس ئي آهي. ۽ ڪوبہ بار کڻندڙ ڪنهن ٻئي جو بار نہ کڻندو. پوءِ اوهان کي پنهنجي رب ڏانهن ئي موٽڻو آهي. پوءِ هو اوهان کي ٻڌائي ڇڏيندو اُها شيءِ جنهن ۾ اوهان اختلاف ڪندا هئا. ۽ اُهوئي آهي جنهن اوهان کي زمين ۾ هڪٻئي جو جاءِ نشين بڻايو ۽ اوهان مان هڪ جو درجو ٻئي تي بلند ڪيو. تہ جيئن هو آزمائي اوهان کي اُن ۾ جيڪو اوهان کي عطا ڪيو اٿس. اوهان جو رب جلد سزا ڏيڻ وارو آهي ۽ بيشڪ هو بخشڻ وارو مهربان آهي. ١٦١-١٦٥

---

قرآن جي صورت ۾ خدا پنهنجو اُهو خالص دين نازل ڪري ڇڏيو جيڪو هُن حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ ٻين پيغمبرن کي ڏنو هو. هاڻي جيڪو ماڻهو خدا جي رحمت ۽ نصرت ۾ حصيدار بڻجڻ چاهي ٿو، اهو ان دين تي ثابت قدم رهي، هُو پنهنجي عبادت کي خدا جي لاءِ خاص ڪري ڇڏي، اُهو خدا سان قرباني جي سطح تي تعلق قائم ڪري. هُو جيئي تہ خدا جي لاءِ جيئي ۽ ان کي موت اچي تہ ان حال ۾ اچي جو هو پوري طرح خدا جو ٿانهو بڻيل هجي. عظيم ڪائنات پنهنجن سڀني جزن سان گڏ خدا جي اطاعت واري انهي دين تي قائم آهي. پوءِ انسان ان کانسواءِ ڪو ٻيو رستو ڪيئن ٿو اختيار ڪري سگهي. خدا جي اطاعت واري دنيا ۾ خدا جي سرڪشي جو طريقو اختيار ڪرڻ ڪنهن جي لاءِ ڪاميابيءَ جو سبب ڪهڙي طرح بڻجي سگهي ٿو. اهو معاملو هر ماڻهو جو پنهنجو معاملو آهي. ڪو نہ ڪنهن جي انعام ۾ شريڪ ٿي سگهي ٿو ۽ نہ ڪو ڪنهن جي سزا ۾. ماڻهوءَ کي کپي تہ هِن معاملي ۾ هو اهڙي طرح سنجيده هجي جهڙي طرح دنيا ۾ ڪو مسئلو ڪنهن جو ذاتي مسئلو هجي تہ هو ان ۾ آخري حد تائين سنجيده ٿي ويندو آهي.

دنيا جو نظام اهو آهي تہ هِتي هڪ ماڻهو وڃي ٿو ۽ ٻيو ان جي جاءِ تي اچي ٿو. هڪ قوم پٺتي هٽائي ويندي آهي ۽ ٻي قوم ان جي جاءِ تي زمين جي ذريعن ۽ وسيلن تي قبضو ڪري وٺندي آهي. اهو واقعو بار بار ياد ڏياري ٿو تہ هتي ڪنهن جو بہ اقتدار هميشہ لاءِ نہ آهي. پر انسان جو اِهو حال آهي تہ جڏهن ڪنهن کي زمين تي موقعو ملندو آهي تہ هو گذريل ماڻهن جي انجام کي وساري ٿو ڇڏي. هو پنهنجي ظلم ۽ سرڪشي کي جائز ثابت ڪرڻ جي لاءِ طرح طرح جا دليل گهڙي ٿو وٺي. پر جڏهن خدا

حقيقتن ڪي پڌرو ڪندو تہ ماڻھو ڏسندو تہ سندس انھن ڳالھين جي ڪا قيمت نہ ھُئي، جن ڪي ھو پنھنجي موقف لاءِ مضبوط دليل سمجھي ويٺو ھو.

دنيا ۾ ماڻھوءَ جي سرڪشيءَ جو سبب اڪثر اِھو ھوندو آھي تہ ھو دنيا جي شين ڪي پنھنجي حق ۾ خدا جو انعام سمجھي وٺندو آھي. حالانڪ دنيا ۾ جيڪو ڪجھ ڪنھن ڪي ملي ٿو تہ اُھو رڳو آزمائش جي لاءِ آھي نہ وري انعام خاطر. دُنيا جي شين ڪي ماڻھو جيڪڏھن انعام سمجھي تہ اُن جي اندر فخر پيدا ٿيندو ۽ جيڪڏھن ھو اُن ڪي آزمائش سمجھي تہ اُن جي اندر عاجزي پيدا ٿيندي. فخر جي نفسيات بيحيائي پيدا ڪندي آھي ۽ عاجزي جي نفسيات اطاعت.

اياتها ٢٠٦ (٧) سُوْرَةُ الْاَعْرَاف مَكِّيَّةٌ (٣٩) رڪوعاتها ٢٤

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الٓمّٓصٓ ﴿١﴾ كِتٰبٌ اُنْزِلَ اِلَيْكَ فَلَا يَكُنْ فِيْ صَدْرِكَ حَرَجٌ مِّنْهُ لِتُنْذِرَ بِهٖ وَ ذِكْرٰى
لِلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٢﴾ اِتَّبِعُوْا مَاۤ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ لَا تَتَّبِعُوْا مِنْ دُوْنِهٖۤ اَوْلِيَآءَ ؕ قَلِيْلًا
مَّا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٣﴾ وَ كَمْ مِّنْ قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَا فَجَآءَهَا بَاْسُنَا بَيَاتًا اَوْ هُمْ قَآئِلُوْنَ ﴿٤﴾ فَمَا
كَانَ دَعْوٰىهُمْ اِذْ جَآءَهُمْ بَاْسُنَاۤ اِلَّاۤ اَنْ قَالُوْۤا اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ﴿٥﴾ فَلَنَسْـَٔلَنَّ الَّذِيْنَ
اُرْسِلَ اِلَيْهِمْ وَ لَنَسْـَٔلَنَّ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٦﴾ فَلَنَقُصَّنَّ عَلَيْهِمْ بِعِلْمٍ وَّ مَا كُنَّا غَآئِبِيْنَ ﴿٧﴾ وَ
الْوَزْنُ يَوْمَئِذِ ۣالْحَقُّ ۚ فَمَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِيْنُهٗ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٨﴾ وَ مَنْ خَفَّتْ
مَوَازِيْنُهٗ فَاُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْۤا اَنْفُسَهُمْ بِمَا كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَظْلِمُوْنَ ﴿٩﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مھربان نھايت رحم وارو آھي.

الف- لام- ميم- صاد- ھِي ڪتاب آھي جيڪو توڏانھن نازل ڪيو ويو آھي. پوءِ تنھنجي دل ان جي سبب تنگ نہ ٿيڻ گھرجي جو تون اُن جي ذريعي ماڻھن ڪي ڊيڄارين ۽ اِھا ايمان وارن جي لاءِ يادگيري آھي. جيڪو نازل ٿيو آھي اوھان ڏانھن اوھان جي رب جي طرفان ان جي پيروي ڪريو. ۽ ان ڪانسواءِ ٻين سرپرستن جي پيروي نہ ڪريو. پر توھان تمام گھٽ نصيحت وٺو ٿا ۽ ڪيترين ئي بستيون آھن جن ڪي اسان ھلاڪ ڪري ڇڏيو. انھن تي اسان جو عذاب رات جو اچي پھتو يا منجھند جو، جڏھن اھي آرام ڪري رھيا ھُئا. پوءِ جڏھن اسان جو عذاب انھن تي آيو تہ اھي ان ڪانسواءِ ڪجھ نہ چئي سگھيا تہ بيشڪ اسان ظالم ھئاسون. پوءِ اسان ضرور پڇنداسون انھن ماڻھن کان جن وٽ رسول موڪليا ويا ۽ اسان ڪي ضرور پڇڻو آھي رسولن کان بہ. پوءِ اسان انھن جي سامھون پنھنجي علم سان بيان ڪري ڇڏينداسون ۽ آخر اسين تہ غائب نہ ھئاسون. ان ڏينھن وزن رڳو حق جو ھوندو، پوءِ جن جا پلڙا ڳرا ھوندا، اُھي ئي ماڻھو ڪامياب ھوندا ۽ جن جا پلڙا ھلڪا ھوندا، اُھي ئي ماڻھو آھن جن پاڻ ڪي گھاٽي ۾ وڌو، ڇاڪاڻ تہ اُھي اسان جي نشانين سان نا انصافي ڪندا ھئا. ١-٩

خدا جو ڪتاب پنهنجي اصل حقيقت جي لحاظ کان هڪ نصيحت آهي، پر اُها عملاً رڳو انهن ٿورن ماڻهن جي لاءِ نصيحت بڻجي ٿي، جن پنهنجي فطري صلاحيت کي زنده رکيو هجي. باقي ماڻهن جي لاءِ اُها رڳو ان بري انجام کان ڊيڄارڻ جي هم معنيٰ رهجي ويندي آهي، جنهن ڏانهن هو پنهنجي سرڪشي جي ڪري وڌي رهيا آهن. داعي اهو ڏسي تڙپي ٿو ته جيڪا شيءِ مون کي ڪامل صداقت جي روپ ۾ ڏسڻ ۾ پئي اچي، ان کي اڪثر ماڻهو باطل سمجهي ٺڪرائي رهيا آهن. جيڪا شيءِ منهنجي نظر ۾ جبل کان به وڌيڪ اهم آهي، جنهن سان ماڻهو اِهڙو بي پرواهيءَ جو سلوڪ ڪري رهيا آهن، ڄڻ ته ان جي ڪا حقيقت ئي نه هجي، ڄڻ اُها بلڪل بي اصل هجي.

هِيءَ دنيا امتحان جي دنيا آهي. هِتي هر ماڻهو جي لاءِ موقعو آهي ته جيڪڏهن هو ڪنهن ڳالهه کي نه مڃڻ چاهي ته هُو ان کي نه مڃي، ايستائين جو هُو ان کي رد ڪرڻ جي لاءِ خوبصورت لفظ به ڳولهي وٺي، پر اها صورتحال بلڪل عارضي آهي. امتحان جي مدت ختم ٿيندي ئي اچانڪ واضح ٿي ويندو ته داعي جي ڳالهه پٿر تي لڪير وانگر هئي. اِهو رڳو مخالفن جو تعصب ۽ انهن جي انا پرستي هئي، جنهن انهن کي دليل جي صورت ۾ ڏسڻ نه ڏنو. اِن وقت واضح ٿي ويندو ته حق جي داعي جي ڳالهين کي رد ڪرڻ جي لاءِ جيڪي دليل اُهي پيش ڪندا هئا، اُها رڳو ڏانڌلي هئي نه وري حقيقي معنيٰ ۾ ڪو استدلال.

دنيا ۾ جيڪي شيون ڪنهن کي وزنائتو بڻائينديون آهن سي اِهي آهن جو ڪنهن جي چؤ طرف مادي رونقون جمع هجن. هُو لفظن جا درياءَ وهائڻ جي فن کان واقف هجي. ان سان گڏ عوام جا ميڙ جمع ٿي ويا هجن. چاڪاڻ ته حق جي داعي سان عام طور تي اِهي اسباب جمع نه ٿيندا آهن، ان ڪري دنيا جي ماڻهن جي نظر ۾ ان جي ڳالهه بي وزن ۽ ان جي مخالفن جي ڳالهه وزن واري بڻجي ويندي آهي. پر قيامت جڏهن مصنوعي پردن کي ڦاڙيندي ته صورتحال بلڪل ابتڙ ٿي ويندي. هاڻي سڄو وزن حق ڏانهن هوندو ۽ ناحق بلڪل بي دليل ۽ بي قيمت ٿي رهجي ويندو.

ع ١ ٨ وَ لَقَدۡ مَكَّنّٰكُمۡ فِي الۡاَرۡضِ وَ جَعَلۡنَا لَكُمۡ فِيۡهَا مَعَايِشَ ؕ قَلِيۡلًا مَّا تَشۡكُرُوۡنَ ﴿۱۰﴾ وَ لَقَدۡ
خَلَقۡنٰكُمۡ ثُمَّ صَوَّرۡنٰكُمۡ ثُمَّ قُلۡنَا لِلۡمَلٰٓئِكَةِ اسۡجُدُوۡا لِاٰدَمَ ٭ۖ فَسَجَدُوۡۤا اِلَّاۤ اِبۡلِيۡسَ ؕ لَمۡ
يَكُنۡ مِّنَ السّٰجِدِيۡنَ ﴿۱۱﴾ قَالَ مَا مَنَعَكَ اَلَّا تَسۡجُدَ اِذۡ اَمَرۡتُكَ ؕ قَالَ اَنَا خَيۡرٌ مِّنۡهُ ۚ
خَلَقۡتَنِيۡ مِنۡ نَّارٍ وَّ خَلَقۡتَهٗ مِنۡ طِيۡنٍ ﴿۱۲﴾ قَالَ فَاهۡبِطۡ مِنۡهَا فَمَا يَكُوۡنُ لَكَ اَنۡ تَتَكَبَّرَ
فِيۡهَا فَاخۡرُجۡ اِنَّكَ مِنَ الصّٰغِرِيۡنَ ﴿۱۳﴾ قَالَ اَنۡظِرۡنِيۡۤ اِلٰي يَوۡمِ يُبۡعَثُوۡنَ ﴿۱۴﴾ قَالَ اِنَّكَ مِنَ
الۡمُنۡظَرِيۡنَ ﴿۱۵﴾ قَالَ فَبِمَاۤ اَغۡوَيۡتَنِيۡ لَاَقۡعُدَنَّ لَهُمۡ صِرَاطَكَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ ﴿۱۶﴾ ثُمَّ لَاٰتِيَنَّهُمۡ
مِّنۡۢ بَيۡنِ اَيۡدِيۡهِمۡ وَ مِنۡ خَلۡفِهِمۡ وَ عَنۡ اَيۡمَانِهِمۡ وَ عَنۡ شَمَآئِلِهِمۡ ؕ وَ لَا تَجِدُ
اَكۡثَرَهُمۡ شٰكِرِيۡنَ ﴿۱۷﴾ قَالَ اخۡرُجۡ مِنۡهَا مَذۡءُوۡمًا مَّدۡحُوۡرًا ؕ لَمَنۡ تَبِعَكَ مِنۡهُمۡ لَاَمۡلَئَنَّ
جَهَنَّمَ مِنۡكُمۡ اَجۡمَعِيۡنَ ﴿۱۸﴾

۽ اسان اوهان کي زمين ۾ جڳهه ڏني ۽ اسان اوهان جي لاءِ اُن ۾ زندگي جو سامان مهيا ڪيوسون، پر اوهان تمام گهٽ شڪر ڪندا آهيو. ۽ اسان اوهان کي پيدا ڪيو، پوءِ اسان اوهان جي صورت ٺاهي. پوءِ فرشتن کي چيو ته آدم کي سجدو ڪريو. پوءِ انهن سجدو ڪيو. پر ابليس سجدو ڪرڻ وارن ۾ شامل نه ٿيو. الله چيو ته توکي ڪهڙي شيءِ سجدي ڪرڻ کان روڪيو جڏهن ته مون توکي حڪم ڏنو هو. ابليس چيو آئون هن کان بهتر آهيان. تو مون کي باهه مان بڻايو آهي ۽ آدم کي مٽيءَ مان. الله چيو ته تون هتان هيٺ لهي وڃ. توکي اِهو حق نه آهي ته تون هتي تڪبر ڪرين. تنهن ڪري نڪري وڃ. بيشڪ تون ذليل آهين.ابليس چيو اُن ڏينهن تائين تون مون کي مهلت ڏي، جڏهن سڀئي ماڻهو اٿاريا ويندا. الله چيو ته توکي مهلت ڏني وئي. ابليس چيو ڇاڪاڻ ته تو مون کي گمراهه ڪيو آهي، آئون به ماڻهن جي لاءِ تنهنجي سڌي واٽ تي ويهندس. پوءِ ايندس سندن اڳيان ۽ سندن پويان ۽ سندن ساڄي ۽ سندن کاٻي کان ۽ تون انهن مان اڪثر کي شڪرگذار نه لهندين. الله چيو نڪر هتان ذليل ۽ خوار ٿيل. جيڪو به انهن مان تنهنجي راهه تي هليو ته آئون توهان سڀني سان جهنم کي ڀري ڇڏيندس. ١٠-١٨

---

خدا انسان کي هِن دنيا ۾ جيڪو ڪجهه ڏنو آهي، ان ڪري ڏنو آهي ته ان جو نفسياتي جواب هو شڪر جي صورت ۾ پيش ڪري. پر اِهائي اُها شيءِ آهي جنهن کي ماڻهو پنهنجي رب جي سامهون پيش نه ٿو ڪري. ان جو سبب اِهو آهي ته شيطان ان جي اندر جذبا اڀاري اُن کي شڪر جي نفسيات کان پري ڪري ڇڏيندو آهي.

آدم ﷺ ۽ ابليس جي قِصّي مان خبر پوي ٿي ته دنيا ۾ هدايت ۽ گمراهي ڪهڙي هنڌ مد مقابل ٿيندا آهن. هِن مقابلي جو هنڌ اُهي موقعا هوندا آهن، جتي ماڻهوءَ جي اندر حسد ۽ تڪبر واري نفسيات جاڳندي آهي. امتحان جي هِن دنيا ۾ بار بار ائين ٿيندو آهي ته هڪ ماڻهو ٻئي ماڻهو کان مٿي ٿي ويندو آهي. ڪڏهن ڪو ماڻهو دولت ۽ عزت ۾ ٻين کان گهڻو حصو حاصل ڪري وٺندو آهي. ڪڏهن ٻن ماڻهن جي وچ ۾ اهڙو معاملو پيش ايندو آهي ته هڪ ماڻهوءَ جي لاءِ ٻئي کي ان جو جائز حق ڏيڻ پاڻ کي گهٽ ڪرڻ جي هم معنيٰ نظر ايندو آهي. ڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي زبان مان خدا هڪ سچائي جو اعلان ڪرائيندو آهي ۽ هو انهن ماڻهن کي ڪائنن مٿي ڏسڻ ۾ اچڻ لڳندو آهي، جيڪي ان سچائي تائين پهچڻ ۾ ناڪام رهجي ويا هئا. اهڙن موقعن تي شيطان ماڻهن جي اندر حسد ۽ تڪبر جي نفسيات کي جڳائي ڇڏيندو آهي. ”آئون بهتر آهيان“ جي جذبي کان مغلوب ٿي هو پنهنجي ڀاءُ جو اعتراف ڪرڻ جي لاءِ تيار نه ٿو ٿئي. اِهوئي خدا جي نظر ۾ شيطان جي رستي تي هلڻ آهي. جنهن ماڻهو اهڙي موقعي تي حسد ۽ تڪبر جو طريقو اختيار ڪيو، ان پاڻ کي جهنم واري انجام جو مستحق بڻائي ورتو. جيڪو شيطان جي لاءِ مقدر آهي ۽ جنهن اهڙي موقعي تي شيطان جي پيدا ڪيل جذبن کي دٻائي ڇڏيو، هُن ان ڳالهه جو ثبوت ڏنو ته هو ان قابل آهي جو ان کي جنت جي باغن ۾ وسايو وڃي.

جيڪو ڪجهه ڪنهن کي ملندو آهي سو خدا طرفان ملندو آهي. ان ڪري ڪنهن جي فضيلت جو اعتراف اصل ۾ خدا جي تقسيم جي برحق هئڻ جو اعتراف آهي ۽ ان جي فضيلت کي نه مڃڻ خدا جي تقسيم کي نه مڃڻ آهي. اِهڙي طرح جڏهن هڪ ماڻهو ڪنهن حق جي ڪري ٻئي جي اڳيان جهڪندو آهي ته هو ڪنهن ماڻهوءَ جي اڳيان نه ٿو جهڪي، بلڪ خدا جي اڳيان جهڪندو آهي. ڇاڪاڻ ته ائين هو خدا جي حڪم جي ڪري ڪري رهيو آهي نه وري ان ماڻهو جي ذاتي وڏائيءَ جي ڪري.

وَ يٰۤاٰدَمُ اسۡكُنۡ اَنۡتَ وَ زَوۡجُكَ الۡجَنَّةَ فَكُلَا مِنۡ حَيۡثُ شِئۡتُمَا وَ لَا تَقۡرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ
فَتَكُوۡنَا مِنَ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿١٩﴾ فَوَسۡوَسَ لَهُمَا الشَّيۡطٰنُ لِيُبۡدِيَ لَهُمَا مَاوٗرِيَ عَنۡهُمَا مِنۡ
سَوۡاٰتِهِمَا وَقَالَ مَا نَهٰكُمَا رَبُّكُمَا عَنۡ هٰذِهِ الشَّجَرَةِ اِلَّاۤ اَنۡ تَكُوۡنَا مَلَكَيۡنِ اَوۡ تَكُوۡنَا مِنَ
الۡخٰلِدِيۡنَ ﴿٢٠﴾ وَ قَاسَمَهُمَاۤ اِنِّىۡ لَكُمَا لَمِنَ النّٰصِحِيۡنَ ﴿٢١﴾

۽ اي آدم! تون ۽ تنهنجي زال جنت ۾ رهو ۽ کائو جتان وڻي. پر ان وڻ جي ويجهو نہ وڃجو نہ تہ توهان نقصان ڪٽڻ وارن مان ٿي ويندو. پوءِ شيطان ٻنهي کي ورغلايو تہ جيئن هو پڌري ڪري سندن اوگهڙ جيڪا کائنئ مخفي رکي وئي هئي. ان کين چيو تہ توهان جي رب توهان کي ان وڻ کان رڳو ان ڪري روڪيو آهي تہ متان توهان ٻئي فرشتا نہ بڻجي وڃو يا توهان کي هميشہ جي زندگي حاصل نہ ٿي وڃي. ۽ اُن قسم کڻي چيو تہ آئون توهان ٻنهي جو خيرخواهہ آهيان. ١٩-٢١

---

جنت ٻنهنجن سيني وسعتن سان گڏ آدم عليه السلام ۽ سندس زال جي لاءِ کليل هئي. ان ۾ قسمن قسمن جون شيون هيون ۽ خدا جي طرفان انهن کي آزادي هئي تہ انهن کي جهڙي طرح چاهين استعمال ڪن. بيشمار جائز شين جي وچ ۾ رڳو هڪ شيءِ جي استعمال کان روڪيو ويو هو. شيطان ان ئي منع ڪيل مقام تان انهن تي حملو ڪيو. هُن وسوسن جي ذريعي سيڪاريو تہ جنهن شيءِ کان توهان کي روڪيو ويو آهي، اُها ئي جنت جي اهم ترين شيءِ آهي. ان ئي ۾ تقدس ۽ عبديت جو سچو راز لڪيل آهي. آدم عليه السلام ۽ ان جي زال ابليس جي مسلسل تلقين کان متاثر ٿي ويا ۽ آخرڪار منع ڪيل وڻ جو ميوو کائي ورتو. پر جڏهن انهن ايئن ڪيو تہ نتيجو انهن جي توقع جي بلڪل ابتڙ نڪتو. سندن خلاف ورزيءَ خدا جي حفاظت وارو لباس انهن جي جسمن تان لاهي ڇڏيو. اُهي هِن دنيا ۾ بلڪل بي يار و مددگار ٿي رهجي ويا. جتي ان کان پهرين انهن کي هر طرح جي سهولت ۽ حفاظت حاصل هئي.

اُن مان معلوم ٿئي ٿو تہ شيطان جو اُهو خاص هٿيار ڪهڙو آهي، جنهن سان هُو انسان کي ورغلائي خدا جي رحمت ۽ مدد کان پري ڪري ڇڏيندو آهي. اُهو آهي حلال رزق جي وسيع ميدان کي ماڻهو جي نظر ۾ گهٽ ڪري ڏيکارڻ ۽ جيڪي ڪجهہ شيون حرام آهن، انهن کي خوبصورت نموني طور پيش ڪري يقين ڏيارڻ تہ سيني وڏن فائدن ۽ مصلحتن جو راز رڳو انهن ڪجهہ شين ۾ لڪيل آهي.

شيطان پنهنجو اِهو ڪم هر هڪ سان ان جي پنهنجي ذوق ۽ حالتن جي لحاظ کان ڪندو آهي. ڪنهن کي سيني قيمتي غذائن کان بي رغبت ڪري اِهو سيڪاريندو آهي تہ بهترين تندرستي حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا تہ شراب پيئو. ڪٿي لکين بيروزگار مرد ڪم ڪرڻ جي لاءِ موجود هجن، پر هو ترغيب ڏيندو تہ جيڪڏهن ترقيءَ جي منزل تائين جلد پهچڻ چاهيو ٿا تہ عورتن کي گهران ٻاهر آڻي انهن کي مختلف شعبن ۾ سرگرم ڪري ڇڏيو. ڪنهن وٽ پنهنجي مخالف کي زير ڪرڻ جو اِهو قابل عمل طريقو موجود هوندو تہ هو پنهنجي پاڻ کي مضبوط بنائي، پر شيطان اُن جي ڪن ۾ وسوسو وجهندو تہ تنهنجي لاءِ پنهنجي مخالف کي شڪست ڏيڻ جو سيني کان ڪارگر طريقو اِهو آهي تہ ان جي خلاف تخريبي ڪارروائيون شروع ڪري ڇڏ. ڪنهن جي لاءِ ”پنهنجي تعمير پاڻ“ جي ميدان ۾ ڪم ڪرڻ جي

لاءِ بيشمار موقعا موجود هجن، پر هو سيڪاريندو تہ ٻين جي خلاف احتجاج ۽ مطالبن جو طوفان ڪڙو ڪرڻ پاڻ ڪي ڪاميابيءَ ڏانهن وٺي وڃڻ جو سيني ڪان آسان طريقو آهي. ڪنهن جي لاءِ حڪومت سان ٽڪراءَ جي بغير بيشمار دين جي ڪم ڪرڻ جا موقعا موجود هوندا، پر هو ان کي هِن غلط فهميءَ ۾ وجهندو تہ غير اسلامي حڪمرانن کي جيڪڏهن ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان ڦاسيءَ تي چاڙهيو وڃي يا انهن کي گولي هڻي ختم ڪري ڇڏ جي، تہ ان ڪان پوءِ يڪدم اسلام جو مڪمل نظام سڄي ملڪ ۾ قائم ٿي ويندو.

فَدَلّٰىهُمَا بِغُرُوۡرٍ ۚ فَلَمَّا ذَاقَا الشَّجَرَةَ بَدَتۡ لَهُمَا سَوۡاٰتُهُمَا وَ طَفِقَا يَخۡصِفٰنِ عَلَيۡهِمَا مِنۡ وَّرَقِ الۡجَنَّةِ ؕ وَ نَادٰىهُمَا رَبُّهُمَاۤ اَلَمۡ اَنۡهَكُمَا عَنۡ تِلۡكُمَا الشَّجَرَةِ وَ اَقُلۡ لَّكُمَاۤ اِنَّ الشَّيۡطٰنَ لَكُمَا عَدُوٌّ مُّبِيۡنٌ ﴿٢٢﴾ قَالَا رَبَّنَا ظَلَمۡنَاۤ اَنۡفُسَنَا ٚ وَ اِنۡ لَّمۡ تَغۡفِرۡ لَنَا وَ تَرۡحَمۡنَا لَنَكُوۡنَنَّ مِنَ الۡخٰسِرِيۡنَ ﴿٢٣﴾ قَالَ اهۡبِطُوۡا بَعۡضُكُمۡ لِبَعۡضٍ عَدُوٌّ ۚ وَ لَكُمۡ فِى الۡاَرۡضِ
ع ١٥ ٩ مُسۡتَقَرٌّ وَّ مَتَاعٌ اِلٰى حِيۡنٍ ﴿٢٤﴾ قَالَ فِيۡهَا تَحۡيَوۡنَ وَ فِيۡهَا تَمُوۡتُوۡنَ وَ مِنۡهَا تُخۡرَجُوۡنَ ﴿٢٥﴾

پوءِ فريب سان ٻنهي کي لاڙي وڌائين. پوءِ جڏهن ٻنهي وڻ جو ميوو چکيو تہ سندن اوگهڙ مٿن پڌري ٿي پئي. ۽ اُهي پاڻ کي باغ جي پنن سان ڍڪڻ لڳا ۽ سندن رب کين سڏي چيو تہ ڇا مون توهان کي اُن وڻ کان منع نہ ڪيو هو ۽ اِهو نہ چيو هو تہ شيطان توهان جو پڌرو دشمن آهي. انهن چيو، اي اسان جا رب! اسان پنهنجن جانين تي ظلم ڪيو ۽ جيڪڏهن تون اسان کي معاف نہ ڪندين ۽ اسان تي رحم نہ ڪندين تہ اسان خساري وارن مان ٿي پوندا سون. الله فرمايو هيٺ لهي وڃو، توهان هڪٻئي جا دشمن ٿيندؤ ۽ توهان جي لاءِ زمين ۾ هڪ خاص مدت تائين ترسڻ آهي ۽ فائدو ڪڻڻ آهي. الله فرمايو، ان ئي ۾ توهان جيئندؤ ۽ ان ئي ۾ توهان مرندؤ ۽ ان ئي مان توهان ڪڍيا ويندؤ. ٢٢-٢٥

---

آدم ۽ شيطان ٻئي هڪٻئي جي دشمن جي حيثيت سان زمين تي موڪليا ويا آهن. هاڻي قيامت تائين ٻنهي جي وچ ۾ جنگ جاري آهي. شيطان جي مسلسل اِها ڪوشش آهي تہ هو انسان کي پنهنجي رستي تي آڻي ۽ جهڙي طرح هو پاڻ خدا جي رحمت کان محروم ٿيو آهي، انسان کي بہ خدا جي رحمت کان محروم ڪري ڇڏي. ان جي مقابلي ۾ انسان کي اِهو ڪرڻو آهي تہ هُو شيطان جي منصوبي کي ناڪام بڻائي ڇڏي. هو شيطان جي سڏ کي نظر انداز ڪري خدا جي سڏ ڏانهن ڊوڙي پئي.

آدم ۽ شيطان جي اِها جنگ عملاً انسانن ۾ بہ گروهہ بڻجي وڃڻ جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي. ڪجهہ ماڻهو شيطان جي ترغيبن جو شڪار ٿي اُن جي صِف ۾ شامل ٿي ويندا آهن ۽ ڪجهہ ماڻهو خدا جي آواز تي لبيڪ چئي اِهو خطرو ڪڻي وٺندا آهن تہ شيطان جا سڀئي ساٿي ان کي بي عزت ڪرڻ ۽ ناڪام ڪرڻ جي لاءِ هر قسم جون تدبيرون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏين. هر دور ۾ اِهو ڏٺو ويو آهي تہ سچا حق پرست جيڪي هميشہ گهٽ تعداد ۾ هوندا آهن، ماڻهن جي دشمنيءَ جو شڪار رهندا آهن. ان جو سبب شيطان جون اِهي دشمنيءَ واريون ڪارروائيون آهن. هو ماڻهن کي سچي حق پرست ماڻهو جي

خلاف ڀڙڪائيندو آهي. هو مختلف طريقن سان ماڻهن جي دلين ۾ ان جي خلاف نفرت جي باهه ڀڙڪائيندو آهي. تنهن ڪري اُهي ماڻهو شيطان جو هٿيار بڻجي اهڙي ماڻهو کي ستائڻ شروع ڪري ڇڏيندا آهن.

شيطان جو اصل جرم اعتراف کان انڪار آهي. شيطان جي اِها ڪوشش هوندي آهي ته هر ماڻهوءَ جي اندر اعتراف جي انڪار جو مزاج پيدا ڪري ڇڏي. هو ننڍي کي ڀڙڪائي ٿو ته هو پنهنجي وڏي جو لحاظ نه ڪري. ڪنهن معاملي ۾ جڏهن هڪ ماڻهو جي ذمي ٻئي جو ڪو حق هوندو آهي ته هو ان کي سيکاري ٿو ته هُو حقدار جو حق ادا نه ڪري. ڪو خدا جو ٻانهو سچائيءَ جو پيغام کڻي ايندو آهي ته ماڻهن جي دلين ۾ طرح طرح جا شڪ وجهي انهن کي راضي ڪندو آهي ته هو ان جي ڳالهه نه مڃين. ٻن ڌرين جي وچ ۾ اختلاف هجي ۽ هڪ ڌر پنهنجن حالتن جي لحاظ کان ڪجهه ڏيڻ تي راضي ٿي وڃي ته شيطان ٻئي ڌر جي ذهن ۾ اِهو وجهندو آهي ته انهن جي پيشڪش قبول نه ڪريو ۽ پنهنجو مطالبو ايترو وڏيڪ ڪريو جو هو ڏئي نه سگهي، ته جيئن جنگ ۽ فساد مستقل جاري رهي.

اهڙي طرح شيطان جي ورغلائڻ سان هر هنڌ ماڻهن ۾ دشمنيون جاري رهنديون آهن. انسانن ۾ ٻه گروهه بڻجي ويندا آهن ۽ انهن ۾ اِهڙو ٽڪراءُ شروع ٿيندو آهي جيڪو ڪڏهن ختم نه ٿو ٿئي.

يٰبَنِيۡٓ اٰدَمَ قَدۡ اَنۡزَلۡنَا عَلَيۡكُمۡ لِبَاسًا يُّوَارِيۡ سَوۡاٰتِكُمۡ وَ رِيۡشًا ؕ وَلِبَاسُ التَّقۡوٰى ۙ ذٰلِكَ خَيۡرٌ ؕ ذٰلِكَ مِنۡ اٰيٰتِ اللّٰهِ لَعَلَّهُمۡ يَذَّكَّرُوۡنَ ﴿٢٦﴾ يٰبَنِيۡٓ اٰدَمَ لَا يَفۡتِنَنَّكُمُ الشَّيۡطٰنُ كَمَاۤ اَخۡرَجَ اَبَوَيۡكُمۡ مِّنَ الۡجَنَّةِ يَنۡزِعُ عَنۡهُمَا لِبَاسَهُمَا لِيُرِيَهُمَا سَوۡاٰتِهِمَا ؕ اِنَّهٗ يَرٰىكُمۡ هُوَ وَ قَبِيۡلُهٗ مِنۡ حَيۡثُ لَا تَرَوۡنَهُمۡ ؕ اِنَّا جَعَلۡنَا الشَّيٰطِيۡنَ اَوۡلِيَآءَ لِلَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿٢٧﴾

اي آدم جي اولاد! اسان توهان تي لباس لاٿو جيڪو اوهان جي بدن جي اوگهڙ کي ڍڪي ٿو ۽ زينت به آهي. ۽ تقويٰ جو لباس ان کان به بهتر آهي. اِهو الله جي نشانين مان آهي ته جيئن ماڻهو غور ڪن. اي آدم جي اولاد! شيطان اوهان کي دوکو نه ڏي، جيئن اُن اوهان جي ماءُ پيءُ کي جنت مان ڪيرائي ڇڏيو، هُن سندن لباس لهرايائين ته جيئن انهن کي انهن جي سامهون بي پردهه ڪري ڇڏي. هو ۽ سندس ساٿي اوهان کي اِهڙي جاءِ کان ڏسندا آهن، جتان اوهين انهن کي نه ٿا ڏسو. اسان شيطانن کي انهن ماڻهن جو دوست بڻائي ڇڏيو آهي جيڪي ايمان نه ٿا آڻين. ٢٦-٢٧

---

دنيا جو نظام خدا اهڙي طرح ٺاهيو آهي ته ان جون ظاهري شيون اُن جي باطني حقيقتن جي علامت آهن. ظاهري شين تي غور ڪري ماڻهو لڪيل حقيقتن تائين پهچي سگهي ٿو. اهڙي قسم جي هڪ شيءِ لباس آهي.

خدا انسانن کي لباس ڏنو جيڪو ان جي حفاظت ڪري ٿو ۽ ان سان گڏ اُن جي حُسن ۽ وقار کي وڌائڻ جو ذريعو به آهي. اِهو اُن ڳالهه ڏانهن اشارو آهي ته ماڻهوءَ جي روحاني وجود جي لاءِ به اِهڙي طرح هڪ لباس ضروري آهي، اِهو تقويٰ جو لباس آهي. تقويٰ ماڻهو جو معنوي لباس آهي جيڪو هڪ پاسي ان کي شيطان جي حملن کان بچائي ٿو ۽ ٻئي پاسي ان جي باطن کي سنواري ان کي جنت جي

لطيف ۽ نفيس دنيا ۾ وسائڻ جي قابل بڻائي ٿو. اِهو تقويٰ جو لباس ڇا آهي؟ اِهو آهي الله جو خوف، حق جو اعتراف، پنهنجي لاءِ ۽ ٻين جي لاءِ هڪ معيار رکڻ، پاڻ کي ڀانهو سمجهڻ، عاجزي کي اختيار ڪرڻ، دنيا ۾ گم ٿيڻ جي بجاءِ آخرت ڏانهن متوجه رهڻ. ماڻهو جڏهن انهن شين کي اپنائي ٿو ته هُو پنهنجي اندروني وجود کي لباس پارائي ٿو ۽ جيڪڏهن هو ان جي خلاف رويو اختيار ڪري ٿو ته هو پنهنجي اندر کي اگهاڙو ڪري ٿو. ظاهري جسم کي ڪپڙي جي لباس سان ڍڪي ٿو ۽ باطني جسم کي تقويٰ جي لباس سان.

ماڻهوءَ کي گمراهه ڪرڻ جي لاءِ شيطان جو طريقو اِهو آهي ته هو اُن کي ورغلائي ٿو. هو خدا جي منع ڪيل وڻ کي هر قسم جي خير جو سرچشمو ٻڌائيندو آهي. هو اِهڙن معصوم رستن تان انهن ڏانهن ايندو آهي جو ماڻهوءَ کي گمان ئي نه ٿو گذري ته اُتان گمراهي پئي اچي. شيطان ماڻهوءَ جي سيني نازڪ مقامن کي ڄاڻي ٿو ۽ اُنهن ئي نازڪ مقامن ڪان هُو اُن تي حملو آور ٿيندو آهي. ڪڏهن هڪ بي حقيقت نظرئي کي خوبصورت لفظن ۾ بيان ڪندو آهي. ڪڏهن هڪ جزئي حقيقت کي مڪمل حقيقت جي روپ ۾ ان جي سامهون آڻيندو آهي. ڪڏهن معمولي شين ۾ فائدن جا خزانا ٻڌائي سيني ماڻهن کي اُن طرف لڳائي ڇڏيندو آهي. ڪڏهن هڪ بي فائدي حرڪت ۾ ترقيءَ جو راز ٻڌائيندو آهي. ڪڏهن هڪ تخريبي عمل کي تعمير جي روپ ۾ پيش ڪندو آهي.

شيطان ڪهڙن ماڻهن کي ورغلائڻ ۾ ڪامياب ٿيندو آهي. هُو انهن ماڻهن تي ڪامياب ٿيندو آهي جيڪي امتحان جي وقت ايمان جو ثبوت نٿا ڏئي سگهن. جيڪي خدا جي نشانين تي غور نه ٿا ڪن. جيڪي دليل جي زبان ۾ ڳالهه کي سمجهڻ جي لاءِ تيار نه ٿا ٿين. جن کي پنهنجن ذاتي خواهشن جي مقابلي ۾ حق جي تقاضا کي ترجيح ڏيڻ گوارا نه هوندي آهي. جن کي اهڙي سچائي، سچائي نظر نه ٿي اچي، جنهن ۾ انهن جي فائدن ۽ مصلحتن جي رعايت شامل نه هجي. جن کي اُهو حق پسند نه ٿو اچي جيڪو انهن جي ذات کي هيٺ ڪري پاڻ اُن جي مقابلي ۾ مٿي ٿيڻ چاهي.

وَ اِذَا فَعَلُوۡا فَاحِشَةً قَالُوۡا وَجَدۡنَا عَلَيۡهَاۤ اٰبَآءَنَا وَ اللّٰهُ اَمَرَنَا بِهَا ؕ قُلۡ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَاۡمُرُ بِالۡفَحۡشَآءِ ؕ اَتَقُوۡلُوۡنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۲۸﴾ قُلۡ اَمَرَ رَبِّىۡ بِالۡقِسۡطِ ۟ وَ اَقِيۡمُوۡا وُجُوۡهَكُمۡ عِنۡدَ كُلِّ مَسۡجِدٍ وَّ ادۡعُوۡهُ مُخۡلِصِيۡنَ لَهُ الدِّيۡنَ ۬ؕ كَمَا بَدَاَكُمۡ تَعُوۡدُوۡنَ ؕ﴿۲۹﴾ فَرِيۡقًا هَدٰى وَفَرِيۡقًا حَقَّ عَلَيۡهِمُ الضَّلٰلَةُ ؕ اِنَّهُمُ اتَّخَذُوا الشَّيٰطِيۡنَ اَوۡلِيَآءَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ وَيَحۡسَبُوۡنَ اَنَّهُمۡ مُّهۡتَدُوۡنَ ﴿۳۰﴾

۽ جڏهن هُو ڪا بيحيائي ڪن ٿا ته چوندا آهن ته اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي اِهڙي طرح ڪندي ڏٺو ۽ الله اسان کي ان جو حڪم ڏنو آهي. چئو، الله ڪڏهن به بري ڪم جو حڪم نه ٿو ڏي. ڇا توهان الله بابت اُها ڳالهه چئو ٿا جنهن جو توهان کي علم نه آهي. چئو ته منهنجي رب انصاف جو حڪم ڏنو آهي ۽ اِهو ته هر نماز جي وقت پنهنجو رخ سڌو رکو. ۽ اُن ئي کي پُڪاريو ان ئي جي لاءِ دين کي خالص رکندي. جهڙي طرح هُن اوهان کي پهرين پيدا ڪيو، تيئن ئي اوهان ٻيهر پيدا ٿيندؤ. هڪڙي جماعت کي هُن راهه ڏيکاري ڇڏي ۽ هڪڙي جماعت

تي گمراهي ثابت ٿي چڪي آهي. انهن الله کي ڇڏي شيطانن کي پنهنجو دوست بڻايو ۽ گمان رکن ٿا تہ اُهي هدايت تي آهن. ۲۸-۳۰

---

قديم عرب ۾ ماڻهو اُگهاڙا ٿي ڪعبي جو طواف ڪندا هئا ۽ اُن جي حمايت ۾ اهو چوندا هئا تہ خدا جي عبادت دنيا جي آلودگيءَ کان پاڪ ٿي فطري حالت ۾ ڪرڻ کپي. حالانڪ اُگهاڙپ اهڙي پڌري برائي آهي، جنهن جو برو هجڻ عام عقل وارو بہ ڄاڻي ٿو. اهڙي طرح ماڻهو اهو عقيدو ٺاهي ٿو ونئي تہ بي عملي ۽ سرڪشيءَ جي باوجود سفارشن جي بنياد تي خدا اُن کي انعامن سان نوازيندو. حالانڪ هو خود پنهنجي سرڪش غلامن جي معاملي ۾ رڳو ڪنهن جي چوڻ سان ايئن نہ ٿو ڪري سگهي. معمولي معمولي ناقابل فهم عمل جن سان دنيا ۾ هڪ گهر نہ ٿو نهي سگهي، اُنهن مان هو اها اميد ڪري ونندو آهي تہ اهي آخرت ۾ اُن جي لاءِ عاليشان محل تعمير ڪري ڇڏيندا. جن لفظن سان دنيا ۾ هڪ وڻ بہ نہ ٿو ڦٽي، اُنهن جي متعلق اهو گمان ڪري ونڻ تہ اُهي آخرت ۾ اُن جي لاءِ جنت جو باغ لڳائي رهيا آهن.

قسط مان مراد انصاف وارو رستو آهي جيڪو هر ماپ ۾ پورو لهي، اُهو بلڪل اُهو ئي هجي جيڪو هئڻ کپي. عبادت انسان جي هڪ فطري خواهش آهي. هو ڪنهن کي سيني کان مٿانهون مڃي ان جي اڳيان پنهنجي پاڻ کي پيش ڪرڻ چاهي ٿو. هن معاملي ۾ قسط اِهو ٿيندو تہ ماڻهو رڳو خدا جو عبادت گذار بڻجي جيڪو اُن جو خالق ۽ رب آهي. انسان ڪنهن کي اِهو مقام ڏيڻ چاهي ٿو تہ هُو ان جي لاءِ اعتماد جو بنياد هجي. هِن معاملي ۾ قسط اِهو ٿيندو تہ ماڻهو خدا کي پنهنجي زندگيءَ ۾ اعتماد جو بنياد بڻائي جيڪو سيني طاقتن جو مالڪ آهي. اِهڙي طرح موت ڪانپوءِ هڪ ٻي زندگي کي مڃڻ بہ قسط آهي. ڇاڪاڻ تہ ماڻهو جڏهن پيدا ٿيندو آهي تہ هو عدم کان وجود جي صورت اختيار ڪندو آهي. ان ڪري موت ڪانپوءِ پيهر پيدا ٿيڻ کي مڃڻ، بلڪل ان ئي حقيقت کي مڃڻ آهي جيڪا اول پيدائش جي وقت هر ماڻهو کي پيش اچي چڪي آهي.

حق جي داعي جو انڪار ڪرڻ جي لاءِ ماڻهو قديم بزرگن جو سهارو وٺندو آهي. قديم بزرگ اُهي ماڻهو هوندا آهن، جن جي عظمت تاريخي طور تي قائم ٿي چڪي هجي. هر ماڻهو جي نظر ۾ انهن جو حق تي هجڻ هڪڙي مڃيل ڳالهہ هوندي آهي. ٻئي طرف وقت جو داعي هڪ نئون ماڻهو هوندو آهي. جنهن سان گڏ اڃا تاريخ جي تصديق جمع ٿيل نہ هوندي آهي. قديم بزرگ کي ماڻهو ان جي تاريخ جي روشني ۾ ڏسي رهيو هوندو آهي ۽ نئين داعي کي ان جي تاريخ جي بغير. هو قديم بزرگن جي نالي تي حق جي داعيءَ جو انڪار ڪري ڇڏيندو آهي ۽ سمجهي ٿو تہ هُو بلڪل هدايت تي آهي. پر اهڙي غلط فهمي ڪنهن جي لاءِ خدا وٽ عذر نہ ٿي بڻجي سگهي. اِها خدا جي نالي تي شيطان جي پيروي آهي نہ وري حقيقت ۾ خدا جي پيروي.

يٰبَنِيۡۤ اٰدَمَ خُذُوۡا زِيۡنَتَكُمۡ عِنۡدَ كُلِّ مَسۡجِدٍ وَّ كُلُوۡا وَ اشۡرَبُوۡا وَ لَا تُسۡرِفُوۡا ۚ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ
ع ۱۰ الۡمُسۡرِفِيۡنَ ﴿۳۱﴾ قُلۡ مَنۡ حَرَّمَ زِيۡنَةَ اللّٰهِ الَّتِيۡۤ اَخۡرَجَ لِعِبَادِهٖ وَ الطَّيِّبٰتِ مِنَ الرِّزۡقِ ؕ قُلۡ
هِيَ لِلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا فِي الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا خَالِصَةً يَّوۡمَ الۡقِيٰمَةِ ؕ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الۡاٰيٰتِ لِقَوۡمٍ

يَّعۡلَمُوۡنَ ﴿٣٢﴾ قُلۡ اِنَّمَا حَرَّمَ رَبِّیَ الۡفَوَاحِشَ مَا ظَهَرَ مِنۡهَا وَ مَا بَطَنَ وَ الۡاِثۡمَ وَ الۡبَغۡیَ
بِغَيۡرِ الۡحَقِّ وَ اَنۡ تُشۡرِكُوۡا بِاللّٰهِ مَا لَمۡ يُنَزِّلۡ بِهٖ سُلۡطٰنًا وَّ اَنۡ تَقُوۡلُوۡا عَلَی اللّٰهِ مَا لَا
تَعۡلَمُوۡنَ ﴿٣٣﴾

اي آدم جي اولاد! هر نماز جي وقت پنهنجو لباس پايو ۽ کائو پيئو. ۽ حد کان نہ لنگهو. بيشڪ الله حد کان لنگهڻ وارن کي پسند نہ ٿو ڪري. چؤ الله جي زينت کي ڪنهن حرام ڪيو، جيڪا اُن پنهنجن ٻانهن جي لاءِ پيدا ڪئي آهي ۽ کائڻ جي پاڪ شين کي. چؤ تہ اِهي دنيا جي زندگي ۾ بہ ايمان وارن جي لاءِ آهن ۽ آخرت ۾ تہ اُهي خاص انهن لاءِ ئي هونديون. اهڙي طرح اسان پنهنجون آيتون کولي بيان ڪندا آهيون، انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي ڄاڻڻ چاهين. چؤ منهنجي رب تہ رڳو بيحيائي جي ڳالهين کي حرام ڪيو آهي، اُهي ظاهر هجن يا لڪيل. ۽ گناهہ کي ۽ ناحق زيادتي ڪرڻ کي ۽ ان ڳالهہ کي تہ توهان الله سان گڏ ڪنهن کي شريڪ ڪريو، جنهن لاءِ هُن ڪا سند نہ لاٿي آهي ۽ اهو تہ توهان الله بابت اِهڙي ڳالهہ چئو جنهن جو توهان علم نہ ٿا رکو. ٣١-٣٣

---

عرب جا ڪجهہ قبيلا اُگهاڙو ٿي ڪعبي جو طواف ڪندا هئا ۽ ان کي وڏي قربت جو ذريعو سمجهندا هئا. اهڙي طرح جاهليت جي زماني ۾ ڪجهہ ماڻهو ايئن ڪندا هئا تہ جڏهن هو حج جي لاءِ نڪرندا هئا تہ ڪجهہ شيون مثلاً ٻڪريءَ جو کير يا گوشت استعمال ڪرڻ ڇڏي ڏيندا هئا ۽ اهو خيال ڪندا هئا تہ هو پرهيزگاريءَ جو ڪو وڏو عمل ڪري رهيا آهن. اِهو گمراهيءَ جو اُهو قسم آهي، جنهن ۾ هر زماني جا ماڻهو مبتلا رهيا آهن. اِهڙا ماڻهو پنهنجي حقيقي ۽ مستقل زندگي ۾ دين جي تقاضن کي شامل نہ ٿا ڪن. البت ڪجهہ موقعن تي ڪجهہ غير متعلق قسم جي بي فائدي عملن جو خاص اهتمام ڪري اِهو ظاهر ڪندا آهن تہ هو خدا جي دين جي معمولي جزن تي بہ عمل ڪري رهيا آهن. هُو خدا جي مرضي تي ڪامل ادائگيءَ جي حد تائين قائم آهن.

انسان جي باري ۾ الله جي اصل مرضي تہ اِها آهي تہ ماڻهو اسراف کان بچي. هو خدا جي مقرر ڪيل حدن کان نہ وڌي. هو حلال کي حرام نہ ڪري ۽ خدا جي حرام ڪيل شين کي پاڻ لاءِ حلال نہ سمجهي، هُو بيحيائيءَ جي ڪمن کان پاڻ کي پري رکي. هو انهن برائين کان بچي، جن جو برو هئڻ عقل ٻڌائي. هو سرڪشيءَ جو طريقو ڇڏي ڏي. جڏهن بہ ان جي سامهون حق اچي تہ هر ٻي شيءِ کي نظرانداز ڪري هُو حق کي اختيار ڪري وٺي. هُو شرڪ کان پنهنجي پاڻ کي پوريءَ طرح پاڪ ڪري، الله کانسواءِ ڪنهن سان بہ هُو اهڙو ڪوبہ تعلق قائم نہ ڪري جيڪو صرف هڪ خدا جو حق آهي. هُو ايئن نہ ڪري جو پنهنجي پسند جو هڪ طريقو اختيار ڪري ۽ ان کي بغير دليل جي خدا ڏانهن منسوب ڪري ڇڏي. پنهنجي ذاتي دين کي خدا جو دين چوڻ لڳي. هُو پوريءَ طرح خدا جو ٻانهو بڻجي رهي، اهڙو ڪو طريقو اختيار نہ ڪري جيڪو ٻانهي هئڻ جي ناتي ان جي لاءِ درست نہ هجي.

آخرت ۾ ڪنهن کي جيڪي نعمتون ملنديون، اُهي انعام طور ملنديون. اُهي صرف خدا جي انهن ٻانهن جي لاءِ هونديون، جن لاءِ خدا جنت ۾ داخل ٿيڻ جو فيصلو ڪندو. پر دنيا ۾ ڪنهن کي جيڪي نعمتون ملنديون آهن، اُهي محدود مدت جي لاءِ آزمائش طور ملنديون آهن. ان ڪري هتي جي نعمتن ۾ هر هڪ کي ان جي امتحان مطابق حصو ملي ٿو. هِن امتحان ۾ پوري لهڻ جو طريقو اِهو نہ آهي تہ ماڻهو خود

امتحان جي سامان کان دوري اختيار ڪري. بلڪ صحيح طريقو اِهو آهي تہ انهن کي ان جي مقرر ڪيل حدن جي مطابق استعمال ڪري. هُو انهن جي ملڻ تي شڪر ڪري نہ وري بي نيازي ۽ بي پرواهي جو.

وَ لِكُلِّ اُمَّةٍ اَجَلٌ ۚ فَاِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ لَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّ لَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿٣٤﴾ يٰبَنِيْٓ
اٰدَمَ اِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ رُسُلٌ مِّنْكُمْ يَقُصُّوْنَ عَلَيْكُمْ اٰيٰتِيْ ۙ فَمَنِ اتَّقٰى وَ اَصْلَحَ فَلَا خَوْفٌ
عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٣٥﴾ وَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَ اسْتَكْبَرُوْا عَنْهَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ
النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٣٦﴾ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ ؕ
اُولٰٓئِكَ يَنَالُهُمْ نَصِيْبُهُمْ مِّنَ الْكِتٰبِ ؕ حَتّٰٓى اِذَا جَآءَتْهُمْ رُسُلُنَا يَتَوَفَّوْنَهُمْ ۙ قَالُوْٓا
اَيْنَ مَا كُنْتُمْ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ قَالُوْا ضَلُّوْا عَنَّا وَ شَهِدُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ اَنَّهُمْ
كَانُوْا كٰفِرِيْنَ ﴿٣٧﴾

۽ هر قوم جي لاءِ هڪ مقرر وقت آهي. پوءِ جڏهن سندن مقرر وقت اچي ويو تہ اُها نہ هڪ گهڙي پوئتي هٽي سگهندي ۽ نہ اڳتي وڌي سگهندي. اي بني آدم! جيڪڏهن اوهان وٽ اوهان مان ئي رسول اچن، جيڪي اوهان کي منهنجون آيتون ٻڌائين تہ جيڪو ماڻهو ڊنو ۽ جنهن اصلاح ڪري ورتي، انهن جي لاءِ نہ ڪو خوف آهي ۽ نہ ئي هُو غمگين ٿيندا. ۽ جن ماڻهن منهنجن آيتن کي ڪوڙو ڀانئيو ۽ انهن کان تڪبر ڪيائون، اُهي ئي ماڻهو دوزخ وارا آهن. اُهي ان ۾ هميشہ رهندا. پوءِ ان کان وڏيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو جيڪو الله تي ڪوڙو ٺاهه ٺاهي يا ان جي نشانين کي ڪوڙو ڀانئي. پوءِ جيڪو سندن نصيب جو حصو لکيل آهي اُهو کين ملي رهندو. ايستائين جو جڏهن اسان جا موڪليل سندن ساهہ ڪيڻ لاءِ انهن وٽ پهچندا تہ انهن کان پڇندا تہ الله کانسواءِ جن کي اوهين پڪاريندا هئا اُهي ڪٿي آهن. هُو چوندا تہ اُهي سڀ اسان کان گم ٿي ويا. ۽ اُهي پنهنجي پاڻ تي شاهدي ڏيندا تہ بيشڪ هُو انڪار ڪرڻ وارا هئا. ٣٤-٣٧

---

موجوده دنيا ۾ ڪنهن لاءِ ڪم ڪرڻ جو موقعو ان وقت تائين آهي، جيستائين ان جي امتحان جو مقرر وقت پورو ٿي وڃي. فرد جو وقت ان جي عمر سان گڏ پورو ٿيندو آهي. پر قوم جي باري ۾ خدائي فيصلي جي نفاذ لاءِ اهڙي قسم جي ڪا حد نہ آهي. ان جو فيصلو اُن بنياد تي ڪيو ويندو آهي تہ حق جي سامهون اچڻ ڪانپوءِ اُها ان سان ڪهڙو معاملو ڪري ٿي. جنهن قوم جو وقت پورو ٿي وڃي تہ ان کي ڪڏهن غير معمولي عذاب موڪلي فنا ڪيو ويندو آهي ۽ ڪڏهن ان جي سزا اِها هوندي آهي تہ ان کي عزت ۽ وڏائيءَ جي مقام تان هٽائي ڇڏبو آهي.

ڪنهن ماڻهوءَ جي لاءِ جنت يا دوزخ جو فيصلو ان بنياد تي ڪيو ويندو آهي تہ ان جي سامهون جڏهن حق آيو تہ تڏهن هُن اُن سان ڪهڙو معاملو ڪيو. جڏهن بہ ڪو حق اِهڙي دليل سان سامهون اچي وڃي، جنهن جي صداقت تي ماڻهوءَ جو عقل شاهدي ڏئي رهيو هجي تہ ڄڻ ان ماڻهوءَ تي خدا جي حجت پوري ٿي وئي. ان کان پوءِ بہ جيڪڏهن ماڻهو ان حق کي مڃڻ کان انڪار ڪري ٿو تہ اُهو بيشڪ تڪبر جي ڪري ايئن ڪري رهيو آهي. پنهنجي پاڻ کي وڏو سمجهڻ واري نفسيات ان جي لاءِ رڪاوٽ بڻجي

وئي جو هو حق کي وڏو سمجهي ۽ ان جي مقابلي ۾ پاڻ کي ننڍو سمجهڻ تي راضي ڪري وٺي. اهڙي ماڻهو جي لاءِ خدا وٽ جهنم ڪانسواءِ ڪو ٻه انجام نه آهي.

ماڻهو جڏهن ٻه حق جو انڪار ڪندو آهي ته هُو ڪنهن اعتماد تي ڪندو آهي. ڪنهن کي دولت ۽ اقتدار جو اعتماد هوندو آهي. ڪو پنهنجي عزت ۽ مقبوليت تي ڀروسو ڪندو آهي. ڪنهن کي اِهو اعتماد هوندو آهي ته ان جا معاملا ايترا درست آهن جو حق کي نه مڃڻ سان ان جو ڪجهه ٻه بگڙڻ وارو نه آهي. ڪنهن کي اهو فخر هوندو آهي ته سندس ذهانت سندس ڳالهه کي خدا جي ڳالهه ثابت ڪرڻ جي لاءِ شاندار لفظ ڳولهي ورتا آهن. پر اِها انسان جي وڏي ڀُل آهي. هُو آزمائش جي شين کي اعتماد جي شيءِ سمجهي ويٺو آهي. قيامت جي ڏينهن جڏهن اِهي سڀ ڪوڙا سهارا ان جو ساٿ ڇڏي ڏيندا، ته ان وقت ان جي لاءِ اهو سمجهڻ مشڪل نه هوندو ته هُو رڳو سرڪشي جي ڪري حق جو انڪار ڪندو رهيو. جيتوڻيڪ پنهنجي انڪار کي جائز ثابت ڪرڻ جي لاءِ هُو گهڙيل اصول وارا لفظ ڳالهائيندو هو.

قَالَ ادۡخُلُوۡا فِيۡۤ اُمَمٍ قَدۡ خَلَتۡ مِنۡ قَبۡلِكُمۡ مِّنَ الۡجِنِّ وَ الۡاِنۡسِ فِي النَّارِ ؕ كُلَّمَا دَخَلَتۡ اُمَّةٌ لَّعَنَتۡ اُخۡتَهَا ؕ حَتّٰۤى اِذَا ادَّارَكُوۡا فِيۡهَا جَمِيۡعًا ۙ قَالَتۡ اُخۡرٰىهُمۡ لِاُوۡلٰىهُمۡ رَبَّنَا هٰۤؤُلَاۤءِ اَضَلُّوۡنَا فَاٰتِهِمۡ عَذَابًا ضِعۡفًا مِّنَ النَّارِ ؕ قَالَ لِكُلٍّ ضِعۡفٌ وَّ لٰـكِنۡ لَّا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۳۸﴾ وَ قَالَتۡ اُوۡلٰىهُمۡ لِاُخۡرٰىهُمۡ فَمَا كَانَ لَكُمۡ عَلَيۡنَا مِنۡ فَضۡلٍ فَذُوۡقُوا الۡعَذَابَ بِمَا كُنۡتُمۡ تَكۡسِبُوۡنَ ﴿۳۹﴾ ع ۸ ۱۱

الله فرمائيندو داخل ٿي وڃو باهه ۾ جنن ۽ انسانن جي انهن جماعتن سان گڏ جيڪي توهان کان پهرين گذري چڪيون آهن. جڏهن ٻه ڪا جماعت جهنم ۾ داخل ٿيندي ته هُو پنهنجي سنگت واري ٽولي تي لعنت وجهندي. ايستائين جو جڏهن سڀ ان ۾ گڏ ٿي ويندا ته انهن جا پويان پنهنجن اڳين لاءِ چوندا ته اي اسان جا رب! اِهي ئي ماڻهو آهن جن اسان کي گمراهه ڪيو، ان ڪري تون انهن کي باهه جو ٻيڻو عذاب ڏي. الله فرمائيندو ته سڀني لاءِ ٻيڻو آهي، پر اوهين نٿا ڄاڻو. ۽ سندن پهريون ٽوليون پوئين کي چونديون ته اوهان کي اسان تي ڪا ٻه فضيلت حاصل نه آهي. تنهن ڪري پنهنجي ڪمائيءَ جي نتيجي ۾ عذاب جو مزو چکو. ۳۸-۳۹

---

هن آيت ۾ ”امت“ مان مراد گمراهه ڪرڻ وارا اڳواڻ ۽ ”اُخت“ مان مراد گمراهه ٿيڻ واري عوام آهي. آخرت ۾ جڏهن هر دور جا بي راهه اڳواڻ ۽ انهن جو ساٿ ڏيڻ واري بي راهه عوام کي جهنم ۾ وڌو ويندا ته اِهو هڪ عبرت ناڪ منظر هوندو. دنيا ۾ ته اُهي هڪٻئي جا وڏا خير خواهه ۽ جان نثار بڻيل هئا. اڳواڻ پنهنجي عوام جي هر خواهش جو احترام ڪندا هئا ۽ عوام پنهنجن اڳواڻن کي هيرو سمجهندي هئي، پر جڏهن جهنم جي باهه انهن کي پڪڙيندي ته سندن اکين تان سيئي مصنوعي پردا هٽي ويندا. هاڻي هر هڪٻئي کي سندس اصلي روپ ۾ ڏسڻ لڳندو. پيروي ڪرڻ وارا پنهنجن اڳواڻن کي چوندا ته توهان تي لعنت هجي. توهان جي قيادت ڪيڏي نه بُري قيادت هُئي، جنهن ڪجهه ڏينهن ڪوڙا تماشا ڏيکاريا ۽ اُن کان پوءِ اسان کي ايڏي وڏي تباهي ۾ وجهي ڇڏيو. اُن جي جواب ۾ اڳواڻ سندن پيروي

ڪرڻ وارن ڪي چوندا تہ توهان ڪي پنهنجي پسند جو هڪ دين گهربل هو ۽ اهڙو دين اسان وٽ ڏسي توهان اسان جي پويان ڊوڙي پيا. جڏهن تہ اُن ئي زماني ۾ خدا جا اهڙا ٻانها بہ هئا، جيڪي توهان کي ڪاميابي جي واٽ ڏانهن سڏيندا هئا. توهان انهن جي پڪار ٻڌي پر توهان انهن ڏانهن ڪو توجهہ نہ ڏنو.

اڳواڻ پنهنجن پوئلڳن کي چوندا تہ توهان ڪنهن لحاظ کان بہ اسان کان بهتر نہ آهيو. اسان پنهنجن خواهشن جي ڪري اڳواڻيون قائم ڪيون ۽ توهان بہ پنهنجن خواهشن جي ڪري اسان جو ساٿ ڏنو. حقيقت جي لحاظ کان ٻنهي جو درجو هڪ ئي آهي. اُن ڪري هتي توهان کي بہ اُهائي سزا ڀوڳڻي آهي، جيڪا اسان جي لاءِ اسان جي عملن سبب مقدر ڪئي وئي آهي.

پيروي ڪندڙن جي جماعت پنهنجن اڳواڻن جي باري ۾ خدا کي چوندي تہ انهن اسان کي گمراهہ ڪيو هو، اُن ڪري ڪين اسان جي مقابلي ۾ ٻيڻو عذاب ڏنو وڃي. جواب ملندو تہ توهان جي اڳواڻن مان هر هڪ کي ٻيڻو عذاب ملي رهيو آهي، پر توهان کي اُن جو احساس نہ آهي. حقيقت اها آهي تہ جهنم ۾ جنهن کي جيڪو بہ عذاب ملندو، اُهو اُن کي ايترو سخت معلوم ٿيندو جو هو سمجهندو تہ مون کان وڌيڪ تڪليف ۾ ڪو بہ نہ آهي. هر ماڻهو جنهن تڪليف ۾ هوندو اُها ئي تڪليف اُن کي سڀ کان وڌيڪ معلوم ٿيندي.

دنيا ۾ مفاد پرست اڳواڻ ۽ سندن مفاد پرست پيروي ڪرڻ وارا هڪٻئي جا دوست بڻيل آهن. هر هڪ وٽ ٻئي جي لاءِ سنا لفظ آهن. هر هڪٻئي جي چڱائي ۾ لڳل آهي. پر آخرت ۾ هر هڪٻئي سان نفرت ڪندو، هر هڪٻئي کي سخت ترين عذاب ۾ ڏِڪڻ چاهيندو.

اِنَّ الَّذِيۡنَ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا وَ اسۡتَكۡبَرُوۡا عَنۡهَا لَا تُفَتَّحُ لَهُمۡ اَبۡوَابُ السَّمَآءِ وَ لَا
يَدۡخُلُوۡنَ الۡجَنَّةَ حَتّٰى يَلِجَ الۡجَمَلُ فِىۡ سَمِّ الۡخِيَاطِ‌ؕ وَ كَذٰلِكَ نَجۡزِى الۡمُجۡرِمِيۡنَ ﴿۴۰﴾
لَهُمۡ مِّنۡ جَهَنَّمَ مِهَادٌ وَّ مِنۡ فَوۡقِهِمۡ غَوَاشٍ‌ؕ وَ كَذٰلِكَ نَجۡزِى الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۴۱﴾ وَ الَّذِيۡنَ
اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَا نُكَلِّفُ نَفۡسًا اِلَّا وُسۡعَهَاۤ اُولٰٓـئِكَ اَصۡحٰبُ الۡجَنَّةِ‌ۚ هُمۡ فِيۡهَا
خٰلِدُوۡنَ ﴿۴۲﴾ وَ نَزَعۡنَا مَا فِىۡ صُدُوۡرِهِمۡ مِّنۡ غِلٍّ تَجۡرِىۡ مِنۡ تَحۡتِهِمُ الۡاَنۡهٰرُ‌ۚ وَ قَالُوا
الۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِىۡ هَدٰٮنَا لِهٰذَا وَمَا كُنَّا لِنَهۡتَدِىَ لَوۡلَاۤ اَنۡ هَدٰٮنَا اللّٰهُ‌ۚ لَقَدۡ جَآءَتۡ
رُسُلُ رَبِّنَا بِالۡحَـقِّ‌ؕ وَنُوۡدُوۡۤا اَنۡ تِلۡكُمُ الۡجَـنَّةُ اُوۡرِثۡتُمُوۡهَا بِمَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۴۳﴾

بيشڪ جن ماڻهن اسان جي نشانين کي ڪوڙو ڀانئيو ۽ انهن کان تڪبر ڪيو، انهن جي لاءِ آسمان جا دروازا نہ کوليا ويندا ۽ اُهي جنت ۾ داخل نہ ٿيندا، جيستائين سئي جي ناڪي مان اٺ نہ لنگهي وڃي. ۽ اسان مجرمن کي اِهڙي ئي سزا ڏيندا آهيون. انهن جي لاءِ دوزخ جو وڇاڻو هوندو ۽ سندن مٿان ان جو ئي اوڇڻ هوندو. ۽ اسان ظالمن کي اهڙي طرح سزا ڏيندا آهيون. ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن نيڪ ڪم ڪيا، اسان ڪنهن بہ ماڻهوءَ تي سندس طاقت جي موافق ئي وزن وجهندا آهيون. اهي ئي ماڻهو جنت وارا آهن ۽ اُهي ان ۾ هميشہ رهندا. ۽ سندن سينن ۾ جيڪا بہ رنجش هوندي ان کي اسان ڪڍي ڇڏينداسون. سندن هيٺان نهرون پيون وهنديون ۽ اُهي

چوندا تہ سموري تعريف الله جي لاءِ آهي جنھن اسان کي هتي پھچايو ۽ اسان راهہ پائڻ وارا نہ هئاسون، جيڪڏهن الله اسان کي هدايت نہ ڪري ها. اسان جي رب جا رسول سچي ڳالهہ ڪٺي آيا هئا. ۽ آواز ايندو تہ هيءَ جنت آهي توهان کي ان جو وارث بڻايو ويو آهي توهان جي انھن عملن جي بدلي ۾. ٤٠-٤٣

---

خدا جي داعي جي مقابلي ۾ ايئن چو ٿيندو آهي تہ انھن جي بڌڻ وارن (مدعو) جي اندر تڪبر واري نفسيات جاڳي پوندي آهي ۽ اهي ان کي مڃڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيندا آهن. ان جو سبب اهو آهي تہ داعي وٽ رڳو نشاني (دليل) جو زور هوندو آهي ۽ بڌڻ وارن (مدعو) وٽ مادي رونقن جو زور. داعي دليل جي بنياد تي بيٺل هوندو آهي ۽ ان جا بڌڻ وارا مال و ملڪيت جي بنياد تي. دليل جي طاقت ڏسڻ ۾ نہ ٿي اچي ۽ مادي طاقت اڪين سان ڏسڻ ۾ ايندي آهي. اِهوئي فرق ماڻهن جي اندر تڪبر جو مزاج پيدا ڪري ڇڏي ٿو. ماڻهو داعي کي پنھنجي مقابلي ۾ حقير سمجهي ان کي نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهن.

اهڙن ماڻهن جو خدا جي رحمت ۾ داخل ٿيڻ ايتروئي نا ممڪن آهي جيترو اٺ جو سئيءَ جي ناڪي مان داخل ٿيڻ. انھن خدا کي نظر انداز ڪيو، ان ڪري خدا بہ انھن کي نظر انداز ڪري ڇڏيو. خدا پنھنجي داعي جي ذريعي انھن کي پنھنجون نشانيون ڏيکاريون. خدا انھن جي سامهون دليل جي روپ ۾ ظاهر ٿيو. پر انھن اُن کي اهميت نہ ڏني. انھن خدائي نشانين جي سامهون جُهڪڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو. اهڙا ماڻهو ڪيئن خدا جي رحمتن مان حصو ماڻي سگهندا.

دوزخين جو اِهو حال هوندو تہ جيڪي ماڻهو دنيا ۾ هڪٻئي جا دوست بڻيل هئا، اُهي اُتي هڪٻئي کان بيزار ٿي ويندا ۽ هڪٻئي تي لعنت ڪري رهيا هوندا. پر جنت جو ماحول ان کان بلڪل مختلف هوندو. جتي سيني جون دليون هڪٻئي جي لاءِ ڪليل هونديون. هر هڪ جي دل ۾ ٻئي جي لاءِ محبت ۽ خير خواهيءَ جو جذبو هوندو. دوزخي انسان جي لاءِ ان جو ماضي هڪ ڏک ڀريو داستان بڻيل هوندو ۽ جنتي انسان جي لاءِ ان جو ماضي هڪ خوشگوار ياد.

برن ماڻهن جي لاءِ انھن جي اڳين زندگي اهڙي طرح شروع ٿيندي جو انھن جو سينو حسرت ۽ ڏکن جو قبرستان بڻجي ويندو. انھن جو ماضي انھن جي لاءِ ڏک وارن يادن ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ هوندو. ٻئي پاسي سٺن ماڻهن جو اهو حال هوندو تہ انھن جون زبانون ان خدا جي ياد سان تر هونديون، جنھن کي انھن حقيقي طور پنھنجو سهارو بڻايو هو. اُهي حق جي علمبردان جي ڏنل خبر کي سچو لهي خوش ٿي رهيا هوندا تہ خدا جو اِهو ڪيڏو نہ وڏو احسان هو جو هُن انھن کي حق جي داعي جو ساٿ ڏيڻ جي توفيق عطا فرمائي.

وَ نَادٰۤی اَصۡحٰبُ الۡجَنَّۃِ اَصۡحٰبَ النَّارِ اَنۡ قَدۡ وَجَدۡنَا مَا وَعَدَنَا رَبُّنَا حَقًّا فَہَلۡ وَجَدۡتُّمۡ
مَّا وَعَدَ رَبُّکُمۡ حَقًّا ؕ قَالُوۡا نَعَمۡ ۚ فَاَذَّنَ مُؤَذِّنٌۢ بَیۡنَہُمۡ اَنۡ لَّعۡنَۃُ اللّٰہِ عَلَی الظّٰلِمِیۡنَ ﴿۴۴﴾ وقف لازم
الَّذِیۡنَ یَصُدُّوۡنَ عَنۡ سَبِیۡلِ اللّٰہِ وَ یَبۡغُوۡنَہَا عِوَجًا ۚ وَ ہُمۡ بِالۡاٰخِرَۃِ کٰفِرُوۡنَ ﴿۴۵﴾

۽ جنت وارا دوزخ وارن کي پڪاريندا تہ اسان سان اسان جي رب جيڪو وعدو ڪيو هو اسان ان کي سچو لڌو، ڇا توهان بہ پنھنجي رب جي وعدي کي سچو لڌو. هو چوندا تہ هائو. پوءِ هڪ پڪارڻ وارو ٻنهي جي وچ ۾ پڪاريندو تہ الله جي لعنت هجي ظالمن تي. جيڪي الله جي راهہ کان روڪيندا هئا ۽ ان ۾ ڏنگائي ڳوليندا هئا ۽ اُهي آخرت جا منڪر هئا. ٤٤-٤٥

---

هنن آيتن ۾ قديم زماني جي ڪجھ ماڻھن اهو سوال اٿاريو تہ جنت ۽ جهنم هڪبئي کان تمام گھٽيون پري هونديون. جنت آسمان جي مٿان هوندي ۽ دوزخ سڀ کان هيٺ تحت الثريٰ ۾ هوندي، پوءِ جنت وارن جو آواز جهنم وارن تائين ڪھڙي طرح پهچندو. پر هاڻي ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي دور ۾ اهو سوال ڪو سوال نہ آهي. اڄ جو انسان اِهو ڄاڻي چڪو آهي تہ پري جي فاصلن کان ڪنهن کي ڏسڻ بہ ممڪن آهي ۽ ان جي آواز کي ٻڌڻ بہ. جيڪا ڳالھ قديم انسان کي ناقابل فهم نظر ايندي هئي، اُها اڄ جي انسان جي لاءِ خود پنهنجي تجربي ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ پوري طرح قابل فهم بڻجي وئي آهي. اُن مان معلوم ٿيو تہ قرآن جي ڪا ڳالھ جيڪڏهن اڄ جي معلومات جي روشني ۾ سمجھ ۾ نہ پئي اچي تہ ان آڌار تي اِن جي باري ۾ ڪو حڪم (فتويٰ) نہ لڳائڻ کپي. اِهو ممڪن آهي تہ علم جي اضافي کانپوءِ مستقبل ۾ اُها شيءِ هڪ ڄاتل سڃاتل شيءِ بڻجي وڃي جيڪا اڄ بظاهر اڻ ڄاڻ شيءِ ڏسڻ ۾ پئي اچي.

هِن جو اِهو مطلب نہ آهي تہ آخرت ۾ جنتين ۽ دوزخين جي وچ ۾ تعلق موجوده قسم جي ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي ذريعي قائم هوندو. ان جو مطلب صرف اهو آهي تہ جديد دريافتن هِن ڳالھ کي قابل فهم بڻائي ڇڏيو آهي تہ خدا جي ڪائنات ۾ اهڙا انتظام بہ ممڪن آهن تہ هڪبئي کان گھڻو پري رهي بہ ۾ ماڻھو هڪبئي کي ڏسن ۽ هڪبئي سان چڱي ريت ڳالھ ڪري سگھن.

ڪنهن دليل جو وزن ماڻھو ان وقت ئي سمجهي سگھي ٿو، جڏهن تہ هُو ان جي باري ۾ سنجيده هجي. جيڪي ماڻھو آخرت کي اهميت نہ ڏين، اُهي آخرت جي متعلق دليلن جو وزن بہ محسوس نہ ٿا ڪري سگھن. آخرت جي ڳالھ انهن جي سامهون انتهائي مضبوط دليلن سان ايندي آهي. پر ان جي باري ۾ انهن جو غير سنجيده ذهن ان جي اندر ڪو نہ ڪو عيب تلاش ڪري ٿو وٺي. اهي قسمن قسمن جا اعتراض ڪري پاڻ بہ شڪ ۾ مبتلا ٿيندا آهن ۽ ٻين کي بہ شڪ ۾ مبتلا ڪندا آهن. اهڙا ماڻھو خدا جي نظر ۾ سخت مجرم آهن. اُهي آخرت ۾ رڳو خدا جي لعنت جا مستحق ٿيندا. چاهي دنيا ۾ هو خود کي خدا جي رحمتن جو سڀ کان وڏو حقدار سمجھندا رهيا هجن.

ڪو دليل چاهي ڪيترو ئي وزني ۽ قطعي هجي، ماڻھوءَ جي لاءِ هميشہ اِهو موقعو رهي ٿو تہ هو ڪجھ خوبصورت لفظ ڳالهائي ان جي صداقت جي باري ۾ ماڻھن کي شڪ ۾ وجهي ڇڏي. عوام هڪ حقيقي دليل ۽ هڪ لفظي شوشي ۾ فرق ناهي ڪري سگھندي، ان ڪري اُها اهڙي قسم جون ڳالهيون ٻڌي، حق کان پري ٿي ويندي آهي. پر جيڪي ماڻھو سمجھڻ جي صلاحيت رکڻ جي باوجود. اهڙي طرح شوشا ڇڏي ماڻھن کي حق کان پري ڪندا آهن، اُهي آخرت جي ڏينهن خدا جي رحمتن کان آخري حد تائين پري ٿي ويندا.

وَ بَيْنَهُمَا حِجَابٌ ۚ وَ عَلَى الْاَعْرَافِ رِجَالٌ يَّعْرِفُوْنَ كُلًّا بِسِيْمٰىهُمْ ۚ وَ نَادَوْا اَصْحٰبَ
الْجَنَّةِ اَنْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ ۟ لَمْ يَدْخُلُوْهَا وَ هُمْ يَطْمَعُوْنَ ﴿۴۶﴾ وَ اِذَا صُرِفَتْ اَبْصَارُهُمْ
ع ۱۲ تِلْقَآءَ اَصْحٰبِ النَّارِ ۙ قَالُوْا رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۴۷﴾ وَ نَادٰۤى اَصْحٰبُ
الْاَعْرَافِ رِجَالًا يَّعْرِفُوْنَهُمْ بِسِيْمٰىهُمْ قَالُوْا مَاۤ اَغْنٰى عَنْكُمْ جَمْعُكُمْ وَ مَا كُنْتُمْ

تَسۡتَكۡبِرُوۡنَ ﴿٤٨﴾ اَهٰۤؤُلَآءِ الَّذِيۡنَ اَقۡسَمۡتُمۡ لَا يَنَالُهُمُ اللّٰهُ بِرَحۡمَةٍ ؕ اُدۡخُلُوا الۡجَنَّةَ لَا
خَوۡفٌ عَلَيۡكُمۡ وَلَاۤ اَنۡتُمۡ تَحۡزَنُوۡنَ ﴿٤٩﴾

۽ ٻنهي جي وچ ۾ هڪ حجاب هوندو ۽ اعراف تي ڪجهه ماڻهو هوندا جيڪي هر هڪ کي سندن علامت مان سڃاڻيندا ۽ اُهي جنت وارن کي پڪاري چوندا ته توهان تي سلامتي هجي، هُو اڃا جنت ۾ داخل نه ٿيا هوندا، پر اُهي اميدوار هوندا. ۽ جڏهن دوزخ وارن ڏانهن اُنهن جي نگاهه ڦيري ويندي ته هُو چوندا ته اي اسان جا رب! اسان کي شامل نه ڪجانءِ انهن ظالم ماڻهن سان گڏ. ۽ اعراف وارا انهن ماڻهن کي پڪاريندا جن کي اُهي سندن علامت مان سڃاڻيندا هوندا، هو چوندا ته توهان کي ڪم نه آئي توهان جي جماعت ۽ توهان جو پاڻ کي وڏو سمجهڻ. ڇا اِهي ئي اُهي ماڻهو آهن جن جي نسبت توهان قسم کڻي چوندا هئا ته انهن کي ڪڏهن به الله جي رحمت نه پهچندي. جنت ۾ داخل ٿي وڃو. هاڻي نه توهان تي ڪو خوف آهي ۽ نه توهان غمگين ٿيندا. ٤٦-٤٩

---

دنيا ۾ ايئن ٿيندو آهي ته خدا جي طرفان آيل نعمتون ۽ سختيون مؤمنن ۽ منڪرن سڀني کي تقريبًا يڪسان رسنديون رهنديون آهن. پر آخرت ۾ ايئن نه ٿيندو. اُتي ٻنهي جي وچ ۾ ”حجاب“ قائم ٿي ويندو. اُتي مؤمنن کي مليل نعمتن جي خوشبو به ڪافرن کي نه ملندي ۽ اهڙي طرح ڪافرن کي مليل تڪليفن جو ڪو اثر جنت وارن تائين نه پهچندو.

اعراف جي معنيٰ عربي زبان ۾ بلندي هوندي آهي. اعراف وارن جو مطلب آهي بلندين وارا. ان مان مراد پيغمبرن ۽ داعين جي جماعت آهي، جن مختلف وقتن ۾ ماڻهن کي حق جو پيغام ڏنو. قيامت ۾ جڏهن ماڻهن جو حساب ٿيندو ۽ هر هڪ کي معلوم ٿي چڪو هوندو ته ان جو انجام ڇا ٿيڻ وارو آهي ۽ حق جي داعي جي ڳالهه جيڪا هُو دنيا ۾ چوندو هو، آخري طور تي صحيح ثابت ٿي چڪي هوندي، ان وقت هر داعي پنهنجي قوم کي خطاب ڪندو. خدا جي حڪم سان آخرت ۾ انهن جي لاءِ بلند اسٽيج مهيا ڪيو ويندو، جنهن تي بيهي هُو پهرين پنهنجن مڃڻ وارن کي خطاب ڪندا. اِهي ماڻهو اڃا جنت ۾ داخل نه ٿيا هوندا، پر اُهي ان جا اميدوار هوندا. ان ڪانپوءِ انهن جو رخ انهن کي ڪوڙو ڀانئڻ وارن ڏانهن ڪيو ويندو. هو انهن کي بُري حالت ۾ ڏسي ڪمال ڀانهپ جي سبب چوندا ته خدايا اسان کي انهن ظالمن ۾ شامل نه ڪجانءِ. هُو منڪرين جي جماعت جي ليڊرن کي انهن جي چهرن مان سڃاڻي وٺندا ۽ انهن کي چوندا ته توهان کي پنهنجي جنهن جماعت ۽ پنهنجي جنهن ساز سامان تي تڪبر هو ۽ جنهن جي ڪري توهان اسان جي حق جي پيغام کي ڪوڙو ڀانئيو، اُهي اڄ توهان جي ڪجهه ڪم نه اچي سگهيا.

حق جو انڪار ڪرڻ وارا وقت جي قائم ٿيل نظام جي ڇانوَ ۾ هوندا آهن. هن دنيا ۾ اُنهن جي حيثيت هميشه مضبوط هوندي آهي. ان جي ابتڙ جيڪي ماڻهو حق جي داعين جو ساٿ ڏيندا آهن، انهن جو ساٿ ڏيڻ صرف هِن قيمت تي هوندو آهي ته وقت جي هلندڙ نظام جي سرپرستي کين حاصل نه رهي. ان ڪري ايئن ٿيندو آهي ته جيڪي ماڻهو حق کي نه ٿا مڃين، اُهي مڃڻ وارن جي بي وسي کي ڏسي انهن جو مذاق اڏائيندا آهن. اُهي چوندا آهن ته ڇا اِهي ئي اُهي ماڻهو آهن جيڪي خدا جي جنتن ۾ ويندا. اعراف وارا قيامت ۾ اِهڙن ماڻهن کي چوندا ته هاڻي ڏسي وٺو ته حقيقت ڇا هئي ۽ توهان ان کي ڇا سمجهندا هئا، آخرڪار ڪير ڪامياب رهيو ۽ ڪير ناڪام رهجي ويو.

وَ نَادٰۤی اَصۡحٰبُ النَّارِ اَصۡحٰبَ الۡجَنَّۃِ اَنۡ اَفِیۡضُوۡا عَلَیۡنَا مِنَ الۡمَآءِ اَوۡ مِمَّا رَزَقَکُمُ اللّٰہُ ؕ
قَالُوۡۤا اِنَّ اللّٰہَ حَرَّمَہُمَا عَلَی الۡکٰفِرِیۡنَ ﴿۵۰﴾ الَّذِیۡنَ اتَّخَذُوۡا دِیۡنَہُمۡ لَہۡوًا وَّ لَعِبًا وَّ غَرَّتۡہُمُ
الۡحَیٰوۃُ الدُّنۡیَا ۚ فَالۡیَوۡمَ نَنۡسٰہُمۡ کَمَا نَسُوۡا لِقَآءَ یَوۡمِہِمۡ ہٰذَا ۙ وَ مَا کَانُوۡا بِاٰیٰتِنَا
یَجۡحَدُوۡنَ ﴿۵۱﴾

دوزخ وارا ماڻهو جنت وارن کي پڪاريندا تہ ڪجھ پاڻي اسان تي وجهي ڇڏيو يا ان مان جيڪو الله توهان کي کائڻ لاءِ ڏنو آهي. هو چوندا تہ الله انهن ٻنهي شين کي ڪافرن جي لاءِ حرام ڪري ڇڏيو آهي. اُهي جن پنهنجي دين کي راند ۽ تماشو بڻائي ورتو هو ۽ جن کي دنيا جي زندگي دوکي ۾ وجهي ڇڏيو هو. پوءِ اڄ اسان بہ انهن کي وساري ڇڏينداسون جهڙي طرح اُنهن هن ملاقات جي ڏينهن کي وساري ڇڏيو هو ۽ جيئن تہ هو اسان جي نشانين جو انڪار ڪندا رهيا. ٥٠-٥١

---

دنيا ٻن قسمن جي غذائن جو دسترخوان آهي. هڪ دنياوي ۽ ٻي آخرت واري. هڪ انسان اُهو آهي جنهن جي روح جي غذا اِها آهي تہ هُو پنهنجي ذات کي نمايان ٿيندي ڏسي، دنيا جون رونقون حاصل ڪري ان کي خوشي ٿيندي هجي. مادي سازو سامان جو مالڪ بڻجي هو پاڻ کي ڪامياب سمجهندو هجي. اهڙو ماڻهو خدا ۽ آخرت کي وساري ويٺو آهي. ان جي سامهون خدا جي ڳالهہ ايندي تہ هُو ان کي غير اهم سمجهي نظر انداز ڪري ڇڏيندو. هو اُن سان اِهڙو سرسري سلوڪ ڪندو ڄڻ تہ اُهو ڪو سنجيده معاملو نہ آهي بلڪ محض رڳو ڪيل تماشو آهي.

اهڙي ماڻهو جي لاءِ آخرت جي انعامن ۾ ڪوبہ حصو نہ آهي. هُن پنهنجي اندر هڪ اهڙي روح جي پرورش ڪئي، جنهن جي غذا صرف دنيا جون شيون بڻجي پئي سگهيون. پوءِ آخرت جي شين مان ان جو روح ڪيئن پنهنجي خوراڪ حاصل ڪري سگهي ٿو جيڪو انسان اڄ آخرت ۾ نہ جيئندو هجي ان جي لاءِ آخرت سڀاڻي بہ زندگي جو ذريعو نہ ٿي بڻجي سگهي.

ٻيو انسان اُهو آهي جيڪو غيبي حقيقتن ۾ گم رهيو هجي. جنهن جي روح کي آخرت جي ياد ۾ لذت ملندي هجي. جنهن جي غذا اِها رهي هجي جو هو خدا ۾ جيئي ۽ خدا جي فضائن ۾ ساهہ کڻي. اِهوئي اُهو انسان آهي جنهن جي لاءِ آخرت رزق جو دستر خوان بڻجي ويندي. هو جنت جي باغن ۾ پنهنجي لاءِ زندگي جو سامان حاصل ڪري وٺندو. هُن کي عالم غيب ۾ خدا مليو هو، ان ڪري عالم ظاهر (شهود) ۾ بہ ان کي خدا ملي ويندو.

خدا جي دنيا ۾ ماڻهو خدا کي ڇو وساري ڇڏيندو آهي، اُن جي وجهہ اِها آهي تہ خدا اِهڙين نشانين ۾ سامهون ايندو آهي جيڪي رڳو سوچڻ سان ذهن جي پڪڙ ۾ ايندڙيون آهن، جڏهن تہ دنيا جون شيون اکين جي سامهون پنهنجن سيني رونقن سان گڏ موجود هونديون آهن. ماڻهو ظاهري شين ڏانهن جهڪي ٿو وڃي ۽ خدا ڏانهن اشارو ڪرڻ وارين نشانين کي نظر انداز ڪري ڇڏيندو آهي. پر اهڙو هر عمل دنيا جي قيمت تي آخرت کي ڇڏڻ آهي ۽ جنهن موت کان پهرين واري زندگي ۾ آخرت کي ڇڏيو، اُهو موت کان بعد واري زندگي ۾ بہ آخرت کان محروم رهندو.

الله جڏهن هڪ شيءِ کي حق جي حيثيت سان ماڻهن جي سامهون آڻي ۽ اُهي ان کي اهميت نه ڏين، هو ان سان غير سنجيده معاملو ڪن. ته اِهو اصل ۾ خود خدا کي غير اهم سمجهڻ ۽ ان سان غير سنجيده معاملو ڪرڻ آهي. دنيا ۾ حق کي نظر انداز ڪرڻ سان ماڻهوءَ جو ڪجھ نه ٿو بگڙي، حق سان گڏ جيڪي خدائي طاقتون آهن، اُهي اڃا غيب ۾ هئڻ جي ڪري ان کي نظر نه ٿيون اچن. اِها صورتحال ان کي دوکي ۾ وجهي ڇڏيندي آهي. جيڪي ماڻهو اهڙي طرح حق کي نظر انداز ڪن، اُهي اِهو خطرو کڻندا آهن ته خدا به آخرت جي ڏينهن انهن کي نظر انداز ڪري ڇڏي.

وَلَقَدْ جِئْنٰهُمْ بِكِتٰبٍ فَصَّلْنٰهُ عَلٰى عِلْمٍ هُدًى وَّرَحْمَةً لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٥٢﴾ هَلْ يَنْظُرُوْنَ
اِلَّا تَاْوِيْلَهٗ ؕ يَوْمَ يَاْتِيْ تَاْوِيْلُهٗ يَقُوْلُ الَّذِيْنَ نَسُوْهُ مِنْ قَبْلُ قَدْ جَآءَتْ رُسُلُ رَبِّنَا
بِالْحَقِّ ۚ فَهَلْ لَّنَا مِنْ شُفَعَآءَ فَيَشْفَعُوْا لَنَآ اَوْ نُرَدُّ فَنَعْمَلَ غَيْرَ الَّذِيْ كُنَّا نَعْمَلُ ؕ قَدْ
ع ٦ ١٢ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٥٣﴾

۽ اسان انهن ماڻهن وٽ هڪ اهڙو ڪتاب آندو آهي، جنهن کي اسان علم جي بنياد تي کولي بيان ڪيو آهي، هدايت ۽ رحمت بڻائي انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي ايمان آڻين. ڇا هاڻي اُهي منتظر آهن ته ان جو مضمون ظاهر ٿي وڃي، جنهن ڏينهن ان جو مضمون ظاهر ٿي ويندو ته اُهي ماڻهو جيڪي هِن کي پهرين وساري ويٺا هئا، سي چوندا ته بيشڪ اسان جي رب جا رسول حق ڪٺي آيا هئا. پوءِ اڄ ڪير اسان جي سفارش ڪرڻ وارا آهن، جيڪي اسان جي سفارش ڪن يا اسان کي ورِي واپس موٽايو وڃي ته جيئن اسان ان کان مختلف عمل ڪريون جيڪي اسان پهرين ڪندا هئاسون. انهن پنهنجي پاڻ کي خساري ۾ وڌو ۽ انهن کان گم ٿي ويو اُهو جيڪي هو گهڙيندا هئا. ٥٢-٥٣

---

قرآن ماڻهوءَ کي موت ڪانپوءِ اچڻ واري زندگي کان ڊيڄاري ٿو. قرآن آخرت جي حساب ڪتاب کان ماڻهن کي آگاهه ڪري ٿو. پر ماڻهو هوشيار نه ٿو ٿئي. قرآن جون اِهي خبرون جيتوڻيڪ رڳو خبرون نه آهن، بلڪ اُهي ڪائنات جون اٽل حقيقتون آهن. پر اڃا اُهي واقعن جي صورت ۾ ظاهر نه ٿيون آهن، اڃا اُهي مستقبل جي پردي ۾ لڪيل آهن. ان ڪري غافل انسان سمجهندو آهي ته اِهي رڳو چوڻ جون ڳالهيون آهن. هو انهن کي غير اهم سمجهي نظر انداز ڪري ٿو ڇڏي.

پر اِهي ڳالهيون خدا جي طرفان آهن جيڪو سيني ڳالهين کي ڄاڻڻ وارو آهي. جن ماڻهن پنهنجي فطرت کي بگاڙيو نه آهي. جن جي اکين تي مصنوعي پردا پيل نه آهن، اُهي قرآن جي اِنهن ڳالهين کي پنهنجي دل جو آواز لهندا. اُها انهن کي بلڪل اُهائي شيءِ معلوم ٿيندي، جنهن جي تلاش انهن جي فطرت پهرين کان ڪري رهي هئي. قرآن انهن جي لاءِ زندگي ۽ يقين جو خزانو بڻجي ويندو.

ان جي ابتڙ حال انهن ماڻهن جو آهي جيڪي قرآن جي آگاهي کي ڪا سنجيده شيءِ نه ٿا سمجهن. اُهي پنهنجي اُن ئي غفلت جي حالت ۾ پيا رهندا، جيستائين جو اُهو وقت انهن جي سامهون اچي وڃي، جنهن جي خبر انهن کي ڏني پئي وڃي. ان وقت ماڻهو اوچتو ڏسندو ته هو بلڪل بي سهارو ٿي

چڪو آهي. هو جن مسئلن کي اهم سمجهي انهن ۾ الجهي ويو هو، ان ڏينهن اُهي بلڪل بي حقيقت نظر ايندا. جن شين تي ان جو ڀروسو هو، اُهي سڀ ان جو ساٿ ڇڏي چڪيون هونديون. هو جن اميدن تي جي رهيو هو، اُهي سڀ ڪوڙيون خوش خياليون ثابت ٿينديون.

آخرت جو مسئلو اڄ رڳو هڪ نظريو آهي، اهو بظاهر ڪو سنگين مسئلو ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي. ان ڪري ماڻهو ان جي باري ۾ سنجيده نہ ٿو ٿئي. پر موت ڪانپوءِ اچڻ واري زندگي ۾ جڏهن آخرت پنهنجن سڀني هولناڪين سان ظاهر ٿي پوندي، ان وقت هر ماڻهو اُن ڳالهہ کي مڃڻ تي مجبور ٿي ويندو. جنهن کي هُو اُن ڪان پهرين مڃڻ جي لاءِ تيار نہ هو. ان وقت ماڻهو ڄاڻي وٺندو تہ ان ڪان پهرين جيڪا ڳالهہ دليل جي زبان ۾ چئي پئي وئي، اُها ئي حقيقت هئي، پر آئون ان جي باري ۾ سنجيده نہ هئڻ ڪري ان کي سمجهي بہ نہ سگهيس.

جڏهن اُهي سڀئي شيون ماڻهوءَ جو ساٿ ڇڏي ڏينديون، جن کي هو دنيا ۾ پنهنجو سهارو بڻائي ويٺو هو، تہ هو چاهيندو تہ دنيا ۾ ان کي وري موڪليو وڃي تہ جيئن هو صحيح زندگي گذاري. پر زندگي جو اِهو موقعو ڪنهن کي ٻيهر ملڻ وارو نہ آهي.

اِنَّ رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ يُغْشِي الَّيْلَ النَّهَارَ يَطْلُبُهٗ حَثِيْثًا وَّ الشَّمْسَ وَ الْقَمَرَ وَ النُّجُوْمَ مُسَخَّرٰتٍۭ بِاَمْرِهٖ اَلَا لَهُ الْخَلْقُ وَ الْاَمْرُ تَبٰرَكَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۵۴﴾ اُدْعُوْا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَّ خُفْيَةً اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿۵۵﴾ وَ لَا تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ بَعْدَ اِصْلَاحِهَا وَ ادْعُوْهُ خَوْفًا وَّ طَمَعًا اِنَّ رَحْمَتَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ مِّنَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۵۶﴾

بيشڪ توهان جو رب اُهوئي الله آهي، جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪيو. پوءِ هو عرش ڏي متوجهہ ٿيو. هُو ڍڪي ٿو رات کي ڏينهن تي، ڏينهن ان جي پويان ڊوڙندو اچي ٿو. ۽ هُن پيدا ڪيا سج ۽ چنڊ ۽ تارا، سڀ تابعدار آهن ان جي حڪم جا. ياد رکو ان جو ئي ڪم آهي پيدا ڪرڻ ۽ حڪم ڪرڻ. وڏي برڪت وارو آهي الله جيڪو رب آهي سڄي جهان جو. پنهنجي رب کي پڪاريو عاجزي سان ۽ اڪيلائي ۾. يقيناً هو حد کان لنگهندڙن کي پسند نہ ٿو ڪري. ۽ زمين ۾ فساد نہ ڪريو، ان جي اصلاح کان پوءِ. ۽ ان ئي کي پڪاريو خوف ۽ اميد رکندي، يقيناً الله جي رحمت نيڪ ڪم ڪرڻ وارن جي ويجهي آهي.٥٤-٥٦

---

زمين ۽ آسمان ۽ ان ۾ موجود سڀني شين کي پيدا ڪرڻ وارو خدا آهي. انهن جي پيدا ڪرڻ جي هڪ صورت اِها بہ ٿي پئي سگهي تہ هُو سڀني شين کي بڻائي، انهن کي انتشار جي حالت ۾ ڇڏي ڏي ها. پر هُن ايئن نہ ڪيو. هُن سڀني شين کي هڪ ڪامل ۽ حڪيماڻي نظام جي تحت جوڙيو ۽ انهن کي اهڙي طرح هلايو جو هر شيءِ ٺيڪ اِهڙي ئي طرح ڪم ڪندي آهي، جهڙي طرح سڀني شين سان هم آهنگي جي لحاظ کان ان کي ڪرڻ کپي.

انسان بہ اُن ئي دنيا جو هڪ ننڍڙو حصو آهي. پوءِ اهڙي اصلاح ٿيل دنيا ۾ ان جو رويو ڇا هئڻ

ڪپي. ان جو رويو اُهوئي هئڻ کپي جيڪو باقي سڀني شين جو آهي. اُهو ٻه پنهنجي پاڻ کي ان ئي خالق جي منصوبي ۾ ڏئي ڇڏي، جنهن جي منصوبي ۾ باقي سڄي ڪائنات پوري تابعداري سان پنهنجي پاڻ کي ڏئي چڪي آهي.

ڪائنات جون سڀئي شيون احسان (حسن ڪارگردگي) جي حد تائين پنهنجي پاڻ کي خدا جي منصوبي ۾ شامل ڪري چڪيون آهن. ان ڪري انسان کي ٻه احسان جي حد تائين خود کي ان جي حوالي ڪري ڇڏڻ کپي. هتي ڪا ٻه شيءِ پنهنجي مقرر حد کان نه ٿي لنگهي. ان ڪري انسان جي لاءِ ٻه لازم آهي ته هُو عدل ۽ حق جي خدائي حدن کان نه وڌي. جيئن ته انسان ڳالهائڻ ۽ شعور جون اضافي خاصيتون رکندو آهي، ان ڪري ڳالهائڻ ۽ شعور جي سطح تي ٻه ان جي سپردگي خدا لاءِ نظر اچڻ گهرجي. انسان جي اندر خدا جي معرفت ايتري گِهري هئڻ کپي، جو هُن جي زبان مان بار بار اُن جو اظهار ٿيڻ لڳي. هو خدا کي اِهڙي طرح پڪاري جهڙي طرح ٻانهو پنهنجي خالق ۽ مالڪ کي پڪاري ٿو. ان کي خدا جي خدائيءَ جي ايتري ڄاڻ هئڻ کپي جو خدا ڪانسواءِ ان جي اميدن ۽ ان جي انديشن جو ڪو ٻيو مرڪز باقي نه رهي. هُو خدا کان ئي ڊڄي ۽ ان سان ئي پنهنجون تمنائون وابسته ڪري. خدا سان خوف ۽ اميد کي وابسته ڪرڻ خدا جي تابعداري جي آخري ۽ انتهائي صورت آهي.

ٻانهي جي سڀني کان وڏي ڪاميابي اِها آهي ته ان کي خدا جي رحمت حاصل هجي، پر اِها رحمت رڳو انهن ماڻهن جو حصو آهي جيڪي الله سان پنهنجي پاڻ کي ايترو گهڻو وابسته ڪري وٺن جو انهن جي سڀني جذبن جو رخ الله ڏانهن ٿي وڃي. هُو ان ئي کي پڪارين ۽ ان ئي سان عاجزي ڪن.

انهن کي ملڻ جي اميد ان مان ئي هجي ۽ ڪسجڻ جو ڊپ ٻه ان ئي مان. اِهي ئي ماڻهو آهن جن خدا جي قربت گهري، اُن ڪري خدا ٻه انهن کي پنهنجي قربت ڏئي ڇڏي.

وَ هُوَ الَّذِيْ يُرْسِلُ الرِّيٰحَ بُشْرًاۢ بَيْنَ يَدَيْ رَحْمَتِهٖ ؕ حَتّٰۤى اِذَاۤ اَقَلَّتْ سَحَابًا ثِقَالًا
سُقْنٰهُ لِبَلَدٍ مَّيِّتٍ فَاَنْزَلْنَا بِهِ الْمَآءَ فَاَخْرَجْنَا بِهٖ مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ ؕ كَذٰلِكَ نُخْرِجُ
الْمَوْتٰى لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَ الْبَلَدُ الطَّيِّبُ يَخْرُجُ نَبَاتُهٗ بِاِذْنِ رَبِّهٖ ۚ وَ الَّذِيْ خَبُثَ لَا
يَخْرُجُ اِلَّا نَكِدًا ؕ كَذٰلِكَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّشْكُرُوْنَ ﴿٥٨﴾ ع ٧ ١٤

۽ اُهو الله ئي آهي جيڪو هوائن کي پنهنجي رحمت کان اڳ خوشخبري ٻڌائي موڪليندو آهي. پوءِ جڏهن هو ڳرن ڪڪرن کي کڻن ٿيون ته اسان ان کي ڪنهن خشڪ سرزمين ڏانهن هڪلي ڇڏيندا آهيون. پوءِ اسان ان جي ذريعي پاڻي وسائيندا آهيون. پوءِ اسان ان جي ذريعي هر قسم جا ميوا پيدا ڪريون ٿا. اهڙي طرح اسان مئلن کي ٻه ڪيندا سون، ته جيئن توهان غور ڪريو. ۽ جيڪا زمين چڱي آهي ان جي پيداوار پنهنجي رب جي حڪم سان نڪرندي آهي ۽ جيڪا زمين خراب آهي اِن جي پيداوار گهٽ ئي ٿيندي آهي. اِهڙي طرح اسان پنهنجون نشانيون مختلف پهلوئن سان بيان ڪندا آهيون اُنهن لاءِ جيڪي شڪر ڪرڻ وارا آهن. ٥٧-٥٨

---

دنيا کي خدا اِهڙي طرح ٺاهيو آهي جو ان جا ظاهري واقعا ان جي روحاني پهلوئن جو مثال ٻڻجي ويا آهن. جڏهن ڪنهن جاءِ تي مينهن وسندو آهي ته جاءِ يا مقام جي هر حصي تائين ان جو پاڻي هڪ

جيترو پهچندو آهي، پر فيض وٺڻ جي لحاظ کان مختلف زمينن جو حال مختلف هوندو آهي. ڪو حصو اهڙو آهي تہ جڏهن اُن کي پاڻي مليو تہ ان جي اندر مان هڪ سرسبز باغ نڪري ٿو اچي. ٻئي طرف ڪنهن حصي جو حال اِهو ٿيندو آهي تہ اُهو مينهن کان پوءِ بہ بي فيض رهجي ويندو آهي. اُتي گندگاھ ڪانسواءِ ڪجھ نہ ٿو نڪري.

اِهوئي حال ان روحاني مينهن جو آهي جيڪو خدا جي طرفان هدايت جي صورت ۾ نازل ٿيندو آهي. اُن هدايت جو پيغام هر ماڻهوءَ جي ڪنن تائين پهچندو آهي. پر فائدو هر هڪ کي پنهنجي پنهنجي قابليت جي مطابق ملندو آهي. جنهن جي اندر حق کي قبول ڪرڻ جي صلاحيت زنده آهي، هو ان مان ڀرپور فيض حاصل ڪندو آهي. اُن مان اُن کي هڪ نئين زندگي ملندي آهي. ان جي فطرت اچانڪ جاڳي پوندي آهي. اُن جو رابطو پنهنجي مالڪ اعليٰ سان قائم ٿي ويندو آهي. ان جي خشڪ نفسيات ۾ رباني ڪيفيتن جو باغ ٽڙي پوندو آهي. اُن جي ابتڙ حال اُن ماڻهوءَ جو ٿيندو آهي، جنهن پنهنجي فطري سلامتي کي وڃائي ڇڏيو هجي. هدايت جو مينهن پنهنجن سٺي بهترين امڪانن (خواصن) جي باوجود ان کي ڪو فائدو نہ ٿو پهچائي. ان ڪانپوءِ بہ اُهو اِهڙو ئي خشڪ رهجي ويندو آهي، جهڙو هو ان کان پهرين هو ۽ جيڪڏهن اُن جي اندران ڪو فصل نڪرندو آهي تہ اُهو گندگاھ جو ئي فصل هوندو آهي. هدايت جو مينهن پوڻ ڪانپوءِ اُن جي اندر ۾ حسد، تڪبر، حجت بازي، حق جي مخالفت جهڙيون شيون جاڳي پونديون آهن نہ وري حق جو اعتراف ڪرڻ ۽ ان جو ساٿ ڏيڻ واريون.

مينهن جي پاڻي کي قبول ڪرڻ جي لاءِ زمين جو خشڪ هجڻ ضروري آهي. جيڪا زمين خشڪ نہ هجي، پاڻي ان جي مٿان گذري ويندو، اُهو اُن جي اندر داخل نہ ٿيندو. اِهڙي طرح خدا جي هدايت رڳو ان ماڻهو جي اندر پاڙ هڻندي آهي جيڪو ان جو طالب هجي، جنهن پنهنجي روح کي غير خدائي ڳالهين کان خالي رکيو هجي. ان جي ابتڙ جيڪو ماڻهو خدا جي هدايت کان بي پرواھ هجي، جنهن جي دل ٻين دلچسپين يا ٻين عظمتن ۾ اٽڪيل هجي، ان وٽ خدا جي هدايت ايندي، پر اُها ان جي اندر ۾ داخل نہ ٿيندي، اُها ان جي روح جي غذا نہ بڻجندي، اُها ان جي فطرت جي زمين کي سيراب ڪري ان جي اندر خدا جو باغ نہ اُپائيندي.

لَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا نُوۡحًا اِلٰی قَوۡمِهٖ فَقَالَ یٰقَوۡمِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمۡ مِّنۡ اِلٰهٍ غَیۡرُهٗ ؕ اِنِّیۡۤ اَخَافُ عَلَیۡكُمۡ عَذَابَ یَوۡمٍ عَظِیۡمٍ ﴿۵۹﴾ قَالَ الۡمَلَاُ مِنۡ قَوۡمِهٖۤ اِنَّا لَنَرٰىكَ فِیۡ ضَلٰلٍ مُّبِیۡنٍ ﴿۶۰﴾ قَالَ یٰقَوۡمِ لَیۡسَ بِیۡ ضَلٰلَةٌ وَّ لٰكِنِّیۡ رَسُوۡلٌ مِّنۡ رَّبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ﴿۶۱﴾ اُبَلِّغُكُمۡ رِسٰلٰتِ رَبِّیۡ وَ اَنۡصَحُ لَكُمۡ وَ اَعۡلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۶۲﴾ اَوَ عَجِبۡتُمۡ اَنۡ جَآءَكُمۡ ذِكۡرٌ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ عَلٰی رَجُلٍ مِّنۡكُمۡ لِیُنۡذِرَكُمۡ وَ لِتَتَّقُوۡا وَ لَعَلَّكُمۡ تُرۡحَمُوۡنَ ﴿۶۳﴾ فَكَذَّبُوۡهُ فَاَنۡجَیۡنٰهُ وَ الَّذِیۡنَ مَعَهٗ فِی الۡفُلۡكِ وَ اَغۡرَقۡنَا الَّذِیۡنَ كَذَّبُوۡا بِاٰیٰتِنَا ؕ اِنَّهُمۡ
كَانُوۡا قَوۡمًا عَمِیۡنَ ﴿۶۴﴾ ع ۸ ۶ ۱۵

اسان نوح کي سندس قوم ڏانهن موڪليو. نوح چيو اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو. ان ڪانسواءِ توهان جو ڪو معبود نہ آهي. آئون توهان تي هڪ وڏي ڏينهن جي عذاب کان ڊڄان ٿو. ان جي قوم جي وڏن چيو تہ اسان کي تہ اِهو نظر ٿو اچي تہ تون هڪ پڌري گمراهي ۾ مبتلا آهين. نوح چيو اي منهنجي قوم! مون ۾ ڪا گمراهي نہ آهي، بلڪ آئون موڪليل آهيان سڀني جهانن جي پالڻهار جي طرفان. توهان کي پنهنجي رب جو پيغام پهچائي رهيو آهيان ۽ توهان جي خير خواهي ڪري رهيو آهيان. ۽ آئون الله جي طرفان اُهو ڪجهه ڄاڻان ٿو، جنهن جي توهان کي خبر نہ آهي. ڇا توهان کي عجب ٿو لڳي تہ توهان جي رب جي نصيحت توهان وٽ توهان منجهان ئي هڪ ماڻهوءَ جي ذريعي آئي، تہ جيئن هو توهان کي ڊيڄاري ۽ جيئن توهان بچو ۽ توهان تي رحم ڪيو وڃي. پر اُنهن هن کي ڪوڙو ڄاتو. اسان نوح کي بچائي ورتو ۽ انهن ماڻهن کي بہ جيڪي ان سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ هئا ۽ اسان انهن ماڻهن کي غرق ڪري ڇڏيو جن اسان جي نشانين کي ڪوڙو ڄاتو هو. بيشڪ اُهي ماڻهو انڌا هئا. ٥٩-٦٤

---

حضرت آدم عليه السلام کان پوءِ تقريباً هڪ هزار سالن تائين سڀو اولادِ آدم توحيد تي قائم هو. حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهم کان روايت آهي تہ ان کان پوءِ ماڻهن پنهنجن بزرگن جي شڪليون ٺاهڻ شروع ڪيون، تہ جيئن انهن جا احوال ۽ عبادتن جي ياد تازي رهي. انهن بزرگن جا نالا وُد، سواع، يغوث، يعوق، نسر هئا. آهستي آهستي اُنهن بزرگن انهن وٽ معبود جو درجو حاصل ڪري ورتو. اِهي ماڻهو قديم عراق ۾ آباد هئا. جڏهن بگاڙ ايستائين پهتو تہ الله انهن جي اصلاح جي لاءِ حضرت نوح عليه السلام کي پيغمبر بڻائي انهن وٽ موڪليو. پر انهن حضرت نوح عليه السلام کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. اُهي تقويٰ جي روش اختيار ڪرڻ تي آماده نہ ٿيا.

اُن انڪار جو سبب قرآن جي بيان مطابق اِهو هو تہ انهن جي لاءِ اِهو سمجهڻ مشڪل ٿي ويو هو تہ هڪ ماڻهو جيڪو ڏسڻ ۾ انهن جهڙو آهي، اُهو خدا جي طرفان خدا جو پيغام پهچائڻ لاءِ چونڊيو ويو آهي. هو پاڻ کي جن بزرگن جي دين تي سمجهندا هئا، انهن جي مقابلي ۾ حضرت نوح عليه السلام انهن کي تمام معمولي ماڻهو ڏسڻ ۾ پئي آيو. انهن قديم بزرگن جي عظمت صديِن جي تاريخ کان تسليم ٿيل هئي. اُن جي مقابلي ۾ حضرت نوح عليه السلام اُن ئي دور جو هڪ ماڻهو هو، اُن جي نالي سان گڏ تاريخي عظمتون جمع نہ ٿيون هيون. تنهن ڪري قوم سندس انڪار ڪري ڇڏيو. اُهي وقت جي پيغمبر کي نادان ۽ ناسمجهہ چوڻ کان بہ نہ مڙيا. ڇاڪاڻ تہ انهن جي خيال جي مطابق پاڻ عليه السلام بزرگن جي دين کان ڦري ويا هئا. حضرت نوح عليه السلام جي خيرخواهي، انهن سان گڏ دليل جو زور، انهن جو حق جي راهہ تي قائم رهڻ، ڪا بہ شيءِ قوم کي متاثر نہ ڪري سگهي.

حضرت نوح عليه السلام جي طرفان حجت پوري ٿيڻ کان پوءِ قوم کي غرق ڪيو ويو. غرق ٿيڻ جو سبب اِهو هو تہ انهن خدا جي نشانين کي ڪوڙو ڄاتو. انهن گهريو تہ ”معمولي شخصيت“ جي بدران ڪنهن ”تسليم ٿيل شخصيت“ جي ذريعي انهن کي خدا جو پيغام پهچايو وڃي. پر خدا جي نظر ۾ اهو انڌپڻ هو. خدا ماڻهوءَ کي بصيرت اُن لاءِ ڏني آهي تہ هو ”نشاني“ جي روپ ۾ حق کي سڃاڻي وٺي، نہ وري ظاهري صورت ۾. جيڪي ماڻهو نشاني جي روپ ۾ حق کي نہ سڃاڻن، اُهي خدا جي نظر ۾ اکين هوندي بہ انڌا آهن. اهڙن ماڻهن جي لاءِ خدا جي رحمت ۾ ڪو بہ حصو نہ آهي.

وَاِلٰى عَادٍ اَخَاهُمْ هُوْدًا ؕ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿٦٥﴾
قَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖۤ اِنَّا لَنَرٰىكَ فِيْ سَفَاهَةٍ وَّ اِنَّا لَنَظُنُّكَ مِنَ
الْكٰذِبِيْنَ ﴿٦٦﴾ قَالَ يٰقَوْمِ لَيْسَ بِيْ سَفَاهَةٌ وَّ لٰكِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦٧﴾ اُبَلِّغُكُمْ
رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَ اَنَا لَكُمْ نَاصِحٌ اَمِيْنٌ ﴿٦٨﴾ اَوَ عَجِبْتُمْ اَنْ جَآءَكُمْ ذِكْرٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَلٰى
رَجُلٍ مِّنْكُمْ لِيُنْذِرَكُمْ ؕ وَاذْكُرُوْۤا اِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَآءَ مِنْۢ بَعْدِ قَوْمِ نُوْحٍ وَّ زَادَكُمْ
فِي الْخَلْقِ بَصْۜطَةً ۚ فَاذْكُرُوْۤا اٰلَآءَ اللّٰهِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿٦٩﴾

۽ عاد ڏانهن اسان سندس ڀاءُ هود کي موڪليو، هن چيو اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو، ان ڪانسواءِ توهان جو ڪو معبود نہ آهي. پوءِ ڇا توهان نہ ٿا ڊڄو. سندس قوم جا وڏا جيڪي انڪار ڪري رهيا هئا تن چيو اسان توکي بي سمجهيءَ ۾ مبتلا ڏسون ٿا ۽ اسان کي گمان آهي تہ تون ڪوڙو آهين. هود چيو اي منهنجي قوم! آئون بي سمجهہ نہ آهيان، بلڪ آئون جهانن جي پالڻهار جو رسول آهيان. توهان کي پنهنجي رب جا پيغام پهچائي رهيو آهيان ۽ توهان جو خيرخواهہ ۽ امين آهيان. ڇا توهان کي تعجب ٿيو لڳي جو توهان وٽ توهان منجهان ئي هڪ ماڻهو جي ذريعي توهان جي رب جي نصيحت آئي آهي تہ جيئن هو توهان کي ڊيڄاري. ۽ ياد ڪريو جڏهن هُن قوم نوح ڪانپوءِ توهان کي ان جو جانشين بڻايو ۽ قد بُت ۾ وڌيڪ سگهارو ڪيائين. تنهن ڪري الله جي نعمتن کي ياد ڪريو تہ جيئن توهان فلاح پايو. ٦٥-٦٩

---

حضرت نوح عليہ السلام جي ٻيڙيءَ ۾ جيڪي اهل ايمان ٻار هئا، انهن ۾ پاڻ عليہ السلام جي پوٽي اِرَمَ جي اولاد مان هڪ نسل هليو، اُهي قديم يمن ۾ آباد هئا ۽ عاد سڏائيندا هئا. اِهي ماڻهو شروع ۾ حضرت نوح عليہ السلام جي دين تي هئا. پوءِ جڏهن انهن ۾ بگاڙ پيدا ٿيو تہ الله حضرت هود عليہ السلام کي انهن تي پنهنجو پيغمبر مقرر ڪيو. پر قوم جي سردارن کي پاڻ عليہ السلام ۾ اُها عظمت نظر نہ آئي، جيڪا انهن جي خيال مطابق خدا جي پيغمبر ۾ هئڻ کپي. انهن سمجهيو تہ اِهو ماڻهو يا تہ نادان آهي يا پوءِ هو ڪوڙي دعويٰ ڪري رهيو آهي.

”آئون توهان جو خير خواهہ ۽ امين آهيان“. پيغمبر جي زبان مان نڪتل اِهو جملو ٻڌائي ٿو تہ داعي ۽ مدعو (ٻڌڻ وارا) جو رشتو قومي يا سياسي مد مقابل جهڙو رشتو نہ هوندو آهي. اِهو خير خواهي ۽ امانتداري جو رشتو آهي. داعي کي اِهڙو هئڻ کپي جو ان جي دل ۾ مدعو جي لاءِ خير خواهيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هجي. مدعو جي طرفان ڇاهي ڪهڙو ئي اڻ وڻندڙ رويو سامهون اچي، پر داعي آخر وقت تائين مدعو جو خيرخواهہ رهي. پوءِ جيڪو پيغام هو ڏئي رهيو آهي، ان کي ڏيندي ان جي اندر اِهو احساس نہ هجي تہ اِها منهنجي ڪا پنهنجي شيءِ آهي، جيڪا آئون ٻين کي عطا ڪري رهيو آهيان. بلڪ جذبو اِهو هجي تہ اِها ٻين جي شيءِ آهي. اِها ٻين جي لاءِ خدا جي امانت آهي، جيڪا آئون انهن کي پهچائي، ذميواريءَ کان آجو ٿي رهيو آهيان.

پيغمبرن جي دعوت جو بنياد هميشہ اِهو رهيو آهي تہ هُو انسان کي خدا جون نعمتون ياد ڏيارين ۽ هن کي اُن ڳالهہ کان ڊيڄارين تہ جيڪڏهن هو خدا جو شڪر گذار بڻجي نہ رهيو تہ هو خدا جي پڪڙ ۾

اچي ويندو. قومي جهيڙن ۽ مادي مسئلن کي پيغمبر ڪڏهن بہ پنهنجي دعوت جو عنوان نہ ٿا بڻائين، اُهي آخري حد تائين ان ڳالهہ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ انهن جي ۽ مدعو جي وچ ۾ اصل دعوت کانسواءِ ڪا شيءِ بحث جو بنياد نہ بڻجي، قوم انهن کي رڳو توحيد ۽ آخرت جي داعي جي روپ ۾ ڏسي نہ وري ڪنهن ٻئي روپ ۾.

”خدا جي نعمتن کي ياد ڪريو تہ جيئن توهان ڪامياب ٿيو“، اُن مان معلوم ٿيو تہ آخرت جي نعمتن جو حق ان جي لاءِ آهي، جنهن دنيا ۾ خدا جي نعمتن جو اعتراف ڪيو هجي. جنت جو هجڻ خدا جي محسن ۽ منعم هئڻ جو سيني ڪان وڌو اظهار آهي. ان ڪري آخرت جي جنت ڪي اِهوئي لهندو، جنهن دنيا ۾ خدا کي منعم ۽ محسن هئڻ واري حيثيت ۾ پائي ورتو. اِهائي معرفت جنت جي اصل قيمت آهي.

قَالُوۡۤا اَجِئۡتَنَا لِنَعۡبُدَ اللّٰهَ وَحۡدَهٗ وَ نَذَرَ مَا كَانَ يَعۡبُدُ اٰبَآؤُنَا ۚ فَاۡتِنَا بِمَا تَعِدُنَاۤ اِنۡ كُنۡتَ مِنَ الصّٰدِقِيۡنَ ﴿۷۰﴾ قَالَ قَدۡ وَقَعَ عَلَيۡكُمۡ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ رِجۡسٌ وَّ غَضَبٌ ؕ اَتُجَادِلُوۡنَنِىۡ فِىۡۤ اَسۡمَآءٍ سَمَّيۡتُمُوۡهَاۤ اَنۡتُمۡ وَ اٰبَآؤُكُمۡ مَّا نَزَّلَ اللّٰهُ بِهَا مِنۡ سُلۡطٰنٍ ؕ فَانۡتَظِرُوۡۤا اِنِّىۡ مَعَكُمۡ مِّنَ الۡمُنۡتَظِرِيۡنَ ﴿۷۱﴾ فَاَنۡجَيۡنٰهُ وَ الَّذِيۡنَ مَعَهٗ بِرَحۡمَةٍ مِّنَّا وَ قَطَعۡنَا دَابِرَ الَّذِيۡنَ كَذَّبُوۡا
ع ٩ ٨ ١٦ بِاٰيٰتِنَا وَ مَا كَانُوۡا مُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۷۲﴾

هود جي قوم چيو، ڇا تون اسان وٽ ان لاءِ آيو آهين تہ اسان اڪيلي الله جي عبادت ڪريون ۽ انهن کي ڇڏي ڏيون جن جي عبادت اسان جا ابا ڏاڏا ڪندا آيا آهن. پوءِ تون جنهن عذاب جي ڌمڪي اسان کي ڏيندو آهين اُن کي آڻ جيڪڏهن تون سچو آهين. هود چيو توهان تي توهان جي رب جي طرفان ناپاڪي ۽ غضب لازم ٿي چڪو آهي. ڇا توهان مون سان انهن نالن تي جهڳڙو ڪريو ٿا، جيڪي توهان ۽ توهان جي ابن ڏاڏن رکي ڇڏيا آهن. جن جي لاءِ خدا ڪا بہ سَندَ نہ لاٿي آهي. تنهن ڪري انتظار ڪريو، آئون بہ توهان سان گڏ انتظار ڪرڻ وارن مان آهيان. پوءِ اسان بچائي ورتو ان کي ۽ جيڪي ان سان گڏ هئا پنهنجي رحمت سان ۽ انهن ماڻهن جي پاڙ پٽي ڇڏي جن اسان جي نشانين کي ڪوڙو ڄاتو هو ۽ مڃڻ وارا نہ هئا. ٧٠-٧٢

---

انسان نالن جي ذريعي ڪنهن شيءِ جو تصور قائم ڪندو آهي. ڪنهن ماڻهو سان گڏ سٺو لفظ لڳي وڃي تہ اُهو سٺو لڳندو آهي ۽ جيڪڏهن برو لفظ لڳي وڃي تہ برو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. خدا کانسواءِ ٻيون شيون يا هستيون جيڪي ماڻهن جي توجهہ جو مرڪز بڻجنديون آهن، ان جو سبب بہ اِهي ئي نالا هوندا آهن. ماڻهو ڪنهن شخصيت کي غوث پاڪ، گنج بخش، غريب نواز، مشڪل ڪشا جهڙن لفظن سان پڪارڻ لڳندا آهن. اِهي لفظ آهستي آهستي انهن شخصيتن سان ايئن وابستہ ٿي ويندا آهن جو ماڻهو يقين ڪري وٺندا آهن تہ جنهن کي غوث (فرياد ٻڌڻ وارو) چيو وڃي ٿو اُهو واقعي فرياد کي پورو ڪرڻ وارو آهي ۽ جنهن کي مشڪل ڪشا جي نالي سان پڪاريو وڃي ٿو، اُهو سچ پچ مشڪلن کي حل ڪرڻ وارو آهي. پر حقيقت اِها آهي تہ اِهڙي قسم جا سيئي نالا رڳو انسانن جا رکيل آهن. اُنهن نالن مان ڪو بہ

نالي وارو ڪٿي به موجود نه آهي. انهن جي حق ۾ نه ڪو شرعي دليل آهي ۽ نه وري ڪو عقلي دليل.

نالن جي شريعت جو هڪ قسم اُهو آهي جيڪو جاهل انسانن جي وچ ۾ رائج آهي. ان ڪان علاوه ان جي هڪ وڏيڪ مهذب صورت به آهي، جيڪا پڙهيل لکيل ماڻهن ۾ مقبول آهي. هِتي به ڪجهه شخصيتن سان گڏ ڪجهه غير معمولي لفظ وابسته ڪيا وڃن ٿا. مثلاً قدسي صفات، محبوب خدا، اسلام جا ٿنڀ، ملت کي نجات ڏياريندڙ وغيره وغيره. اهڙي قسم جا لفظ آهستي آهستي انهن شخصيتن جي نالن جو جز بڻجي ويندا آهن. ماڻهو انهن شخصيتن کي اهڙو ئي غير معمولي سمجهي وٺندا آهن جيئن انهن کي ڏنل نالي مان ظاهر ٿيندو آهي.

جيڪا شيءِ ”ابن ڏاڏن“ کان هلندي پئي اچي، ٻين لفظن ۾ جنهن تاريخي اهميت حاصل ڪري ورتي هجي ۽ پراڻين قديم روايتن جي نتيجي ۾ جنهن سان گڏ ماضيءَ جو تقدس شامل ٿي ويو هجي، اِها ماڻهن جي نظر ۾ هميشه عظيم ٿي ويندي آهي. ان جي مقابلي ۾ ”اڄ“ جي داعي جي ڳالهه معمولي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. اُهي حال جي داعي کي غير اهم سمجهي نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهن. انهن کي اعتماد هوندو آهي ته هو بزرگن جي عظمتن جا وارث آهن. پوءِ ڪير آهي جيڪو انهن جو ڪجهه بگاڙي سگهي.

خدا جي معاملي ۾ بيحيائي ماڻهو کي آهستي آهستي بي حس بڻائي ٿي ڇڏي. هُو اُن قابل نه ٿو رهي جو هو نصيحت ۽ ياد ڏيارڻ واري زبان ۾ ڪا اصلاح قبول ڪري سگهي. اهڙا ماڻهو چڻ ته ان ڳالهه جي انتظار ۾ آهن ته خدا عذاب جي زبان ۾ انهن جي سامهون ظاهر ٿي وڃي.

وَ اِلٰی ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صٰلِحًا ۘ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ قَدْ
جَآءَتْكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ هٰذِهٖ نَاقَةُ اللّٰهِ لَكُمْ اٰيَةً فَذَرُوْهَا تَاْكُلْ فِيْۤ اَرْضِ اللّٰهِ وَ لَا
تَمَسُّوْهَا بِسُوْٓءٍ فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٧٣﴾ وَ اذْكُرُوْۤا اِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَآءَ مِنْۢ بَعْدِ عَادٍ
وَّ بَوَّاَكُمْ فِي الْاَرْضِ تَتَّخِذُوْنَ مِنْ سُهُوْلِهَا قُصُوْرًا وَّ تَنْحِتُوْنَ الْجِبَالَ بُيُوْتًا ۚ
فَاذْكُرُوْۤا اٰلَآءَ اللّٰهِ وَ لَا تَعْثَوْا فِي الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿٧٤﴾

۽ ثمود ڏانهن سندن ڀاءُ صالح کي موڪليو، ان چيو ته اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو، ان ڪانسواءِ توهان جو ڪو معبود نه آهي. توهان وٽ توهان جي رب طرفان هڪ پڌرو نشان اچي چڪو آهي. اِها الله جي ڏاچي توهان جي لاءِ هڪ نشاني آهي. پوءِ ان کي ڇڏي ڏيو ته هو کائي الله جي زمين ۾. ۽ ان کي ڪو ايذاءُ نه رسائجو نه ته توهان کي هڪ دردناڪ عذاب اچي وٺندو. ۽ ياد ڪريو جڏهن ته خدا عاد ڪانپوءِ توهان کي انهن جو جانشين بڻايو ۽ توهان کي زمين ۾ نڪاڻو ڏنو، اوهان ان جي ميدانن ۾ ماڙيون بڻايو ٿا ۽ جبلن کي ٽُڪي گهر ٺاهيو ٿا. تنهن ڪري الله جي نعمتن کي ياد ڪريو ۽ زمين ۾ فساد ڪندڙ ٿي نه ڦرو. ٧٣-٧٤

---

عاد جي قوم جي تباهي کان پوءِ ان جا صالح ماڻهو عرب جي اتر-اولهه ۾ حجر جي علائقي ۾ آباد ٿيا. انهن جو نسل وڌيو ۽ انهن زراعت ۽ تعميرات ۾ وڏي ترقي ڪئي. انهن ميدانن ۾ محل ٺاهيا ۽ جبلن کي ٽڪي انهن کي وڏن وڏن گهرن جي شڪل ڏئي ڇڏي. پوءِ انهن ۾ خرابيون پيدا ٿي

ويون، جيڪي مادي ترقي ۽ دنياوي خوشحالي سان قومن ۾ پيدا ٿينديون آهن. عيش پرستي، آخرت کي وسارڻ، الله جي حدن کان بيپرواهي، الله جي وڏائي کي وساري پنهنجي وڏائي قائم ڪرڻ وغيره.ان وقت الله حضرت صالح عليه السلام کي موڪليو ته جيئن انهن کي الله جي پڪڙ کان ڊيڄاري. پر انهن نصيحت قبول نہ ڪئي. اُهي پنهنجي فساد کي اِصلاح ۾ بدلڻ تي راضي نہ ٿيا. جنهن ڪائنات ۾ سڀئي شيون خدا جون تابعدار بڻيل هجن، اُتي انهن خدا کان سرڪش بڻجي رهڻ چاهيو. جتي هر شيءِ پنهنجي حد جي اندر پنهنجو عمل ڪندي آهي، اُتي اُنهن پنهنجي حد کان لنگهي ڪري زنده رهڻ چاهيو. اِهو هڪ اصلاح واري دنيا ۾ فساد ڦهلائڻ هو. تنهن ڪري انهن کي دنيا ۾ رهڻ جي لاءِ نا اهل قرار ڏنو ويو.

ثمود جي قوم کي جانچڻ جي لاءِ خدا هڪ ڏاچي مقرر ڪئي ۽ چيو ته ان کي تڪليف نہ پهچائجو نہ ته توهان هلاڪ ڪيا ويندؤ. خدا جي لاءِ اِهو بہ ممڪن هو ته هُو انهن جي لاءِ هڪ خوفناڪ شينهن مقرر ڪري ڇڏي ها. پر خدا شينهن جي بجاءِ ڏاچيءَ کي مقرر ڪيو. ان جو راز اهو آهي ته ماڻهوءَ جي خدا ترسيءَ جو امتحان هميشہ ”ڏاچي“ جي سطح تي ورتو ويندو آهي نہ وري ”شينهن“ جي سطح تي. سماج ۾ هميشہ ”ناقة الله“ (خدا جي ڏاچي) جهڙا ماڻهو هوندا آهن. اِهي اُهي ڪمزور فرد آهن، جن وٽ مادي زور نہ هوندو آهي، جيڪو ماڻهن کي انهن جي خلاف ڪارروائي ڪرڻ کان روڪي. جن سان حسن سلوڪ جو ڪارڻ رڳو اخلاقي احساس هوندو آهي، نہ وري ڪو ڊپ. پر اِهي ئي اُهي ماڻهو آهن جن جي سطح تي ماڻهن جي خدا پرستي جانچي پئي وڃي. اِهي ئي اُهي ماڻهو آهن جن جي ذريعي ڪنهن کي جنت جو سرٽيفڪيٽ ڏنو پيو وڃي ۽ ڪنهن کي جهنم جو.

ثمود تعمير جي فن ۾ ڪمال پيدا ڪيو هو، ان سان گڏ ٻيا علم مثال طور رياضي، اڪرن، انجينئرنگ ۾ بہ انهن کي ضروري مهارت حاصل هوندي، نہ ته اِهي ترقيون ممڪن نہ هيون. پر انهن کي جنهن ڳالهہ جو مجرم ٺهرايو ويو، اُهي انهن جون مادي ترقيون نہ هيون، بلڪ زمين ۾ فساد ڦهلائڻ هو. ان جو مطلب اِهو آهي تہ جائز حدن ۾ ترقي ڪرڻ کان خدا نہ ٿو روڪي. البت زندگي جي معاملن ۾ ماڻهو کي اُن اصلاح واري نظام جو پابند رهڻ کپي جيڪو خدا پوري ڪائنات ۾ قائم ڪري رکيو آهي.

قَالَ الۡمَلَاُ الَّذِيۡنَ اسۡتَكۡبَرُوۡا مِنۡ قَوۡمِهٖ لِلَّذِيۡنَ اسۡتُضۡعِفُوۡا لِمَنۡ اٰمَنَ مِنۡهُمۡ اَتَعۡلَمُوۡنَ اَنَّ صٰلِحًا مُّرۡسَلٌ مِّنۡ رَّبِّهٖ ؕ قَالُوۡۤا اِنَّا بِمَاۤ اُرۡسِلَ بِهٖ مُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۷۵﴾ قَالَ الَّذِيۡنَ اسۡتَكۡبَرُوۡۤا اِنَّا بِالَّذِيۡۤ اٰمَنۡتُمۡ بِهٖ كٰفِرُوۡنَ ﴿۷۶﴾ فَعَقَرُوا النَّاقَةَ وَعَتَوۡا عَنۡ اَمۡرِ رَبِّهِمۡ وَقَالُوۡا يٰصٰلِحُ ائۡتِنَا بِمَا تَعِدُنَاۤ اِنۡ كُنۡتَ مِنَ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ﴿۷۷﴾ فَاَخَذَتۡهُمُ الرَّجۡفَةُ فَاَصۡبَحُوۡا فِيۡ دَارِهِمۡ جٰثِمِيۡنَ ﴿۷۸﴾ فَتَوَلّٰى عَنۡهُمۡ وَقَالَ يٰقَوۡمِ لَقَدۡ اَبۡلَغۡتُكُمۡ رِسَالَةَ رَبِّيۡ وَنَصَحۡتُ لَكُمۡ وَلٰكِنۡ لَّا تُحِبُّوۡنَ النّٰصِحِيۡنَ ﴿۷۹﴾

انهن جي قوم جا وڏا جن تڪبر ڪيو، انهن مؤمنن کي چيو جيڪي ڪمزور ۽ هيٺا سمجهيا ويندا هئا، ڇا توهان کي يقين آهي تہ صالح پنهنجي رب جو موڪليل آهي. انهن چيو تہ اسان تہ جيڪو هو ڪٺي آيو آهي اُن تي ايمان رکون ٿا. اُهي متڪبر ماڻهو چوڻ لڳا تہ اسان تہ اُن شيءِ جا منڪر آهيون جنهن تي توهان ايمان آندو آهي. پوءِ انهن ڏاچي جون ڪچيون ڪٽي ڇڏيون ۽ پنهنجي رب جي حڪم کان ڦري ويا. ۽ انهن چيو اي صالح! جيڪڏهن تون رسول آهين تہ اُهو عذاب اسان تي آڻ، جنهن کان تون اسان کي ڊيڄاريندو هئين. پوءِ انهن کي زلزلي اچي ورتو ۽ اُهي پنهنجن گهرن ۾ منهن پر ڪريل رهجي ويا. ۽ صالح اِهو چوندي انهن جي بستين مان نڪري ويو تہ اي منهنجي قوم، مون توهان کي پنهنجي رب جو پيغام پهچائي ڇڏيو ۽ مون توهان جي خيرخواهي ڪئي پر توهان خير خواهن کي پسند نہ ٿا ڪريو. ٧٥-٧٩

---

پيغمبر جڏهن ايندو آهي تہ هو پنهنجي زماني ۾ هڪ اختلافي شخصيت هوندو آهي نہ وري مجيل شخصيت. وڏيڪ اِهو تہ اُن سان گڏ دنيا جون رونقون جمع نہ هونديون آهن، هو دنيا جي گادين مان ڪنهن گادي تي ويٺل نہ هوندو آهي. اِهوئي سبب آهي تہ جيڪي ماڻهو پيغمبر جي زماني ۾ هوندا آهن، اُهي پيغمبر جي پيغمبر هئڻ کي سمجهي نہ ٿا سگهن ۽ ان جو انڪار ڪري ڇڏيندا آهن. انهن کي يقين نہ ٿو اچي تہ اُهو شخص جنهن کي اسان رڳو هڪ معمولي ماڻهو جي حيثيت سان سڃاڻندا آهيون، اُهوئي اُهو ماڻهو آهي جنهن کي خدا پنهنجي پيغام کي پهچائڻ لاءِ چونڊيو آهي.

”اسان صالح جي پيغام (بما ارسل بہٖ) تي ايمان آندو آهي“ حضرت صالحؑ جي ساٿين جو اهو جواب ٻڌائي ٿو تہ انهن ۾ ۽ ٻين ۾ ڪهڙو فرق هو. انڪار ڪرڻ وارن حضرت صالحؑ جي شخصيت کي ڏٺو ۽ مؤمنن پاڻؑ جي اصل پيغام کي. انڪار ڪرڻ وارن کي حضرت صالحؑ جي شخصيت ۾ ظاهري عظمت ڏسڻ ۾ نہ آئي، انهن کين نظر انداز ڪري ڇڏيو. اُن جي ابتڙ مؤمنن حضرت صالحؑ جي پيغام ۾ حق جي دليلن ۽ سچائي جي جهلڪين کي ڏسي ورتو، اُهي يڪدم هُن جا ساٿي بڻجي ويا. سچائي هميشہ دليلن جي زور تي ظاهر ٿيندي آهي نہ وري دنياوي عظمتن جي زور تي. جيڪي ماڻهو دليل جي روپ ۾ حق کي ڏسڻ جي صلاحيت رکندا هجن، اُهي يڪدم ان کي پائي وٺندا آهن ۽ جيڪي ماڻهو ظاهري وڏاين ۾ اٽڪيل هجن، اُهي شڪ ۾ پئجي رهجي ويندا آهن. انهن کي ڪڏهن بہ حق جوساٿ ڏيڻ جي توفيق حاصل نہ ٿيندي آهي.

حضرت صالحؑ جي ڏاچيءَ کي مارڻ وارو جيتوڻيڪ قوم جو هڪ سرڪش ماڻهو هو، پر هِتي ان کي پوري قوم ڏانهن منسوب ڪندي فرمايو ويو ”انهن ماڻهن ڏاچيءَ کي هلاڪ ڪري ڇڏيو“. اُن مان معلوم ٿيو تہ ڪنهن جماعت جو هڪ ماڻهو برو عمل ڪري ۽ ٻيا ماڻهو اُن جي بُري عمل تي راضي رهن، تہ سڀ جا سڀ هِن مجرماڻي عمل ۾ شريڪ قرار ڏنا ويندا آهن.

جيڪا قوم خواهش پرستي جو شڪار هجي، ان کي حقيقت پسندي واريون ڳالهيون نہ ٿيون وڻن. اُها قوم اِهڙي ماڻهو جو ساٿ ڏيڻ جي لاءِ تيار نہ ٿيندي آهي، جيڪو ان کي سنجيده عمل ڏانهن سڏيندو هجي. ان جي ابتڙ جيڪي ماڻهو موهيندڙ لفظ ڳالهائين ۽ ڪوڙين اميدن جي تجارت ڪن، انهن وٽ ميڙن جا ميڙ جمع ٿي ويندا آهن. سچي خيرخواهہ جي لاءِ انهن جي اندر ڪا ڪشش نہ هوندي آهي. البت اها قوم انهن ماڻهن ڏانهن تيزي سان ڊوڙي پوندي آهي، جيڪي ان جو استحصال ڪرڻ جي لاءِ اٿندا آهن.

وَ لُوۡطًا اِذۡ قَالَ لِقَوۡمِہٖۤ اَتَاۡتُوۡنَ الۡفَاحِشَۃَ مَا سَبَقَکُمۡ بِہَا مِنۡ اَحَدٍ مِّنَ الۡعٰلَمِیۡنَ ﴿۸۰﴾
اِنَّکُمۡ لَتَاۡتُوۡنَ الرِّجَالَ شَہۡوَۃً مِّنۡ دُوۡنِ النِّسَآءِ ؕ بَلۡ اَنۡتُمۡ قَوۡمٌ مُّسۡرِفُوۡنَ ﴿۸۱﴾
وَ مَا کَانَ جَوَابَ قَوۡمِہٖۤ اِلَّاۤ اَنۡ قَالُوۡۤا اَخۡرِجُوۡہُمۡ مِّنۡ قَرۡیَتِکُمۡ ۚ اِنَّہُمۡ اُنَاسٌ
یَّتَطَہَّرُوۡنَ ﴿۸۲﴾ فَاَنۡجَیۡنٰہُ وَ اَہۡلَہٗۤ اِلَّا امۡرَاَتَہٗ ۫ۖ کَانَتۡ مِنَ الۡغٰبِرِیۡنَ ﴿۸۳﴾ وَ اَمۡطَرۡنَا عَلَیۡہِمۡ
۱۰ ع ۱۲ ۱۷ مَّطَرًا ؕ فَانۡظُرۡ کَیۡفَ کَانَ عَاقِبَۃُ الۡمُجۡرِمِیۡنَ ﴿۸۴﴾ ع

۽ اسان لوط کي موڪليو جڏهن ان پنهنجي قوم کي چيو ڇا توهان پڌري بي حيائي جو ڪم ڪريو ٿا، جيڪو توهان کان اڳ دنيا ۾ ڪنهن به نه ڪيو آهي. توهان عورتن کي ڇڏي مردن مان پنهنجي خواهش پوري ڪريو ٿا. بلڪ توهان حد کان لنگهندڙ ماڻهو آهيو. پر سندس قوم جو جواب اُن کانسواءِ ڪجهه نه هو ته انهن کي پنهنجي بستي مان ڪڍي ڇڏيو. اِهي ماڻهو وڏا پاڪباز ٿا بڻجن. پوءِ اسان بچائي ورتو لوط کي ۽ ان جي گهر وارن کي، سواءِ ان جي زال جي جيڪا پوئتي رهجي وڃڻ وارن مان ٿي. ۽ اسان انهن تي پٿرن جو مينهن وسايو. پوءِ ڏس ته ڪهڙو انجام ٿيو مجرمن جو. ۸۰-۸۴

---

حضرت لوط عليه السلام حضرت ابراهيم عليه السلام جو ڀائيٽو هو. هو جنهن قوم ڏانهن پيغمبر بڻائي موڪليو ويو، اِها درياءِ اردن جي ڏکڻ ۾ شام جي علائقي ۾ آباد هئي. اُن قوم جي خوشحالي ان کي عيش پرستي ڏانهن وٺي وئي. ايستائين جو انهن ماڻهن جي بي راهه روي ايتري ته وڌي وئي جو هُنن پنهنجن جنسي خواهشن جي تسڪين جي لاءِ هم جنسيءَ جو طريقو اختيار ڪري ورتو. پيغمبر انهن کي هِن پڌري بيحيائي کان ديڇاريو.

ڪائنات جي لاءِ فطرت جو هڪ نظام آهي. اُن نظام کي قرآن ۾ اصلاح چيو ويو آهي. ان اصلاح جي خلاف هلڻ جو نالو فساد آهي. ڪائنات جون سڀئي شيون اُن ئي اصلاحي رستي تي هلي رهيون آهن. اِهو رڳو انسان آهي جيڪو پنهنجي آزاديءَ جو غلط فائدو ڪٽي ٿو ۽ فطرت جي رستي جي خلاف پنهنجو رستو ٺاهي ٿو. حضرت لوط عليه السلام جي قوم اِهڙي ئي قسم جي هڪ فساد ۾ مبتلا هئي. جنسي تعلق جو فطري طريقو اهو آهي ته عورت ۽ مرد پاڻ ۾ زال مڙس بڻجي رهن. اِهو اصلاح جي طريقي تي هلڻ آهي. ان جي ابتڙ جيڪڏهن ايئن ٿئي جو مرد جا مرد سان يا عورت جا عورت سان جنسي تعلق قائم ڪيا وڃن ته اِهو خدا جي مقرر ڪيل حد کان لنگهي وڃڻ آهي. هِي اُهائي شيءِ آهي جنهن کي قرآن ۾ فساد چيو ويو آهي.

حضرت لوط عليه السلام تي صرف اُن جي ويجهن ماڻهن مان ڪجهه ماڻهن ايمان آندو. باقي سڄي قوم پنهنجي حوس پرستيءَ ۾ غرق رهي. انهن چيو "جڏهن اِهي اسان سڀني ماڻهن کي ڪِنو ٿا سمجهن ۽ پاڻ کي پاڪ ٿا بڻائن ته ڪِنن ۾ پاڪ ماڻهن جو ڪهڙو ڪم، پوءِ اِهي اسان جي شهر مان نڪري وڃن" انهن جو اِهو قول اصل ۾ تڪبر جو قول هو. انهن کي اهو چوڻ جي جرائت ان ڪري ٿي جو هو پنهنجي اڪثريت ۽ مادي وڏائي جي ڪري پاڻ کي محفوظ حالت ۾ سمجهندا هئا. تڪبر جي نفسيات ۾ مبتلا ماڻهو هميشه

پنهنجي ڪمزور پاڙيسرين کي چوندا آهن. جن ماڻهن کي اسان جو طريقو پسند نہ آهي، اُهي اسان جي زمين کي ڇڏي وڃن. پر اِهو خدا جي دنيا ۾ شرڪ ڪرڻ آهي ۽ شرڪ سڀني کان وڏو جرم آهي.

حضرت لوط عليه السلام جي قوم تي خدا جو عذاب آيو تہ عذاب جو شڪار ٿيڻ وارن ۾ پيغمبر جي زال بہ شامل هئي. اُن مان انعام ۽ سزا جي باري ۾ خدا جو بي لاڳ انصاف ظاهر ٿيندو آهي. خدا جي انصاف جي ساهمي ۾ رشتن ۽ دوستين جو ڪو لحاظ نہ آهي. خدا جو فيصلو ايترو بي لاڳ آهي جو هُن حضرت نوح عليه السلام جي پٽ، حضرت ابراهيم عليه السلام جي پيءُ، حضرت لوط عليه السلام جي زال ۽ حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي چاچي کي بہ معاف نہ ڪيو ۽ ٻئي پاسي فرعون جي زال صالح عمل جو ثبوت ڏنو تہ ان کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيو.

وَ اِلٰی مَدۡیَنَ اَخَاهُمۡ شُعَیۡبًا ؕ قَالَ یٰقَوۡمِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ مَا لَکُمۡ مِّنۡ اِلٰهٍ غَیۡرُهٗ ؕ قَدۡ جَآءَتۡکُمۡ بَیِّنَةٌ مِّنۡ رَّبِّکُمۡ فَاَوۡفُوا الۡکَیۡلَ وَ الۡمِیۡزَانَ وَ لَا تَبۡخَسُوا النَّاسَ اَشۡیَآءَهُمۡ وَ لَا تُفۡسِدُوۡا فِی الۡاَرۡضِ بَعۡدَ اِصۡلَاحِهَا ؕ ذٰلِکُمۡ خَیۡرٌ لَّکُمۡ اِنۡ کُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِیۡنَ ﴿۸۵﴾ وَ لَا تَقۡعُدُوۡا بِکُلِّ صِرَاطٍ تُوۡعِدُوۡنَ وَ تَصُدُّوۡنَ عَنۡ سَبِیۡلِ اللّٰهِ مَنۡ اٰمَنَ بِهٖ وَ تَبۡغُوۡنَهَا عِوَجًا ۚ وَ اذۡکُرُوۡۤا اِذۡ کُنۡتُمۡ قَلِیۡلًا فَکَثَّرَکُمۡ ۪ وَ انۡظُرُوۡا کَیۡفَ کَانَ عَاقِبَةُ الۡمُفۡسِدِیۡنَ ﴿۸۶﴾ وَ اِنۡ کَانَ طَآئِفَةٌ مِّنۡکُمۡ اٰمَنُوۡا بِالَّذِیۡۤ اُرۡسِلۡتُ بِهٖ وَ طَآئِفَةٌ لَّمۡ یُؤۡمِنُوۡا فَاصۡبِرُوۡا حَتّٰی یَحۡکُمَ اللّٰهُ بَیۡنَنَا ۚ وَ هُوَ خَیۡرُ الۡحٰکِمِیۡنَ ﴿۸۷﴾

۽ مدين ڏانهن اسان سندس ڀاءُ شعيب کي موڪليو. هن چيو اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو، اُن کانسواءِ اوهان جو ڪو معبود نہ آهي. توهان وٽ توهان جي رب طرفان چٽو دليل پهچي چڪو آهي. تنهن ڪري ماپ ۽ تور پوري ڪندا ڪريو. ۽ ماڻهن کي سندن شيون گهٽائي نہ ڏيو. ۽ زمين ۾ فساد برپا نہ ڪريو اُن جي اصلاح کانپوءِ. اِهو توهان جي حق ۾ بهتر آهي جيڪڏهن توهان مؤمن آهيو. ۽ رستي تي نہ ويهو تہ جيئن ڊيڄاريو ۽ الله جي راهہ کان انهن ماڻهن کي روڪيو جيڪي اُن تي ايمان آڻي چڪا آهن ۽ نہ ئي اُن راهہ ۾ ڏنگائي تلاش ڪريو. ۽ ياد ڪريو جڏهن توهان ٿورا هئا پوءِ توهان کي وڌائي ڇڏيو. ۽ ڏسو فساد ڪرڻ وارن جو انجام ڪهڙو ٿيو. ۽ جيڪڏهن توهان مان هڪ جماعت اُن تي ايمان آندو آهي جيڪو ڏئي ڪري آئون موڪليو ويو آهيان ۽ هڪ جماعت ايمان نہ آندو آهي تہ انتظار ڪريو ايستائين جو الله اسان جي وچ ۾ فيصلو ڪري ۽ اُهو بهتر فيصلو ڪرڻ وارو آهي. ۸۵-۸۷

---

حضرت ابراهيم عليه السلام جو هڪ پٽ مديان هو جيڪو پاڻ عليه السلام جي ٽئين زال قطورا مان پيدا ٿيو. مدين وارا انهي جي نسل مان هئا. اِها قوم ڳاڙهي سمنڊ (بحراحمر) جي عربي ساحل تي آباد هُئي. اِهي ماڻهو خدا کي مڃڻ وارا هئا ۽ پاڻ کي دين ابراهيمي جا حامل سمجهندا هئا. پر حضرت ابراهيم عليه السلام جي پنج سؤ سالن کانپوءِ انهن جي اندر بگاڙ پيدا ٿي ويو. اِها هڪ تجارت پيشہ قوم هئي ۽ انهن جي بگاڙ جو سڀ

ڪان گھٽو اظھار ان ئي پھلوءَ سان ٿيو. اُھي ماپ تور ۾ خريد ۽ فروخت ۾ ديانتداري جي اصولن تي پوري طرح قائم نہ رھيا.

بئي سان معاملو ڪرڻ ۾ بي انصافي خدا جي قائم ڪيل اصلاح واري نظام جي خلاف آھي. خدا پنھنجي دنيا جو نظام ڪامل انصاف تي قائم ڪيو آھي. ھتي ڪابہ اھڙي شيءِ نہ آھي جيڪا وٺڻ وقت بئي ڪان گھٽو وٺي ۽ ڏيڻ وقت بئي کي گھٽ ڏي. ھِتي ھر شيءِ صحيح حساب جي حد تائين انصاف جي اصول تي قائم آھي. اھڙي حالت ۾ انسان کي بہ اُھوئي ڪرڻ کپي جيڪو ان جي چؤ طرف سڄي ڪائنات ڪري رھي آھي. ايئن تہ ڪرڻ خدا جي اصلاح واري دنيا ۾ فساد برپا ڪرڻ آھي.

مدين وارن جو ٻين سان معاملن ۾ بگاڙ جڏھن گھٽو وڌي ويو تہ خدا حضرت شعيبؑ کي انھن ڏانھن پنھنجو پيغام ڏئي موڪليو. پاڻؑ انھن کي ٻڌايو تہ معاملن ۾ انصاف ۽ ديانتداري جو طريقو اختيار ڪريو. پاڻؑ چٽن دليلن جي ذريعي انھن کي آخري حد تائين خبردار ڪري ڇڏيو. پر اُھي نصيحت قبول ڪرڻ جي لاءِ تيار نہ ٿيا. ايستائين جو انھن جو حال اِھو ٿيو تہ خود حضرت شعيبؑ جي دعوت کي مٽائڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا. اُھي پاڻؑ جي ڳالھين ۾ قسم قسم جا شوشا ڇڏي ماڻھن کي پاڻؑ جي باري ۾ غلط فھمي ۾ وجھندا رھيا. اُھي جارحاڻين ڪارروائين جي ذريعي ڪوشش ڪندا ھئا تہ ماڻھو حضرت شعيبؑ جو ساٿ نہ ڏين. آخرڪار انھن تي خدائي عذاب آيو ۽ اُھي تباھ ڪيا ويا. ٻانھن جي حقن جي رعايت ۽ باھمي معاملن جي درستگي خدا جي نظر ۾ ايتري اھم آھي جو ان جي مخالفت تي ھڪ قوم ايمان جي دعويدار ھئڻ جي باوجود تباھ ڪئي وئي. خدا بھتر فيصلو ڪرڻ وارو آھي ۽ بھتر فيصلو جانبداري سان نہ ٿو ٿي سگھي. اھو ممڪن نہ آھي تہ خدا ڪلمو نہ پڙھڻ وارن کي انھن جي بي انصافي تي پڪڙي ۽ ڪلمي وارن کي ساڳي بي انصافي تي ڇڏي ڏي.

قَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ لَنُخْرِجَنَّكَ يٰشُعَيْبُ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَكَ
مِنْ قَرْيَتِنَآ اَوْ لَتَعُوْدُنَّ فِيْ مِلَّتِنَا ؕ قَالَ اَوَ لَوْ كُنَّا كٰرِهِيْنَ ﴿٨٨﴾ قَدِ افْتَرَيْنَا عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا
اِنْ عُدْنَا فِيْ مِلَّتِكُمْ بَعْدَ اِذْ نَجّٰىنَا اللّٰهُ مِنْهَا ؕ وَ مَا يَكُوْنُ لَنَآ اَنْ نَّعُوْدَ فِيْهَآ اِلَّآ اَنْ
يَّشَآءَ اللّٰهُ رَبُّنَا ؕ وَسِعَ رَبُّنَا كُلَّ شَيْءٍ عِلْمًا ؕ عَلَى اللّٰهِ تَوَكَّلْنَا ؕ رَبَّنَا افْتَحْ بَيْنَنَا وَ بَيْنَ
قَوْمِنَا بِالْحَقِّ وَ اَنْتَ خَيْرُ الْفٰتِحِيْنَ ﴿٨٩﴾ وَ قَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ لَئِنِ
اتَّبَعْتُمْ شُعَيْبًا اِنَّكُمْ اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ ﴿٩٠﴾ فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دَارِهِمْ
جٰثِمِيْنَ ﴿٩١﴾ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا شُعَيْبًا كَاَنْ لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا ۚ اَلَّذِيْنَ كَذَّبُوْا شُعَيْبًا كَانُوْا هُمُ
الْخٰسِرِيْنَ ﴿٩٢﴾ فَتَوَلّٰى عَنْهُمْ وَ قَالَ يٰقَوْمِ لَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَ نَصَحْتُ لَكُمْ ۚ
فَكَيْفَ اٰسٰى عَلٰى قَوْمٍ كٰفِرِيْنَ ﴿٩٣﴾

قوم جا وڏا جيڪي متڪبر هئا انهن چيو تہ اي شعيب! اسان توکي ۽ انهن ماڻهن کي جن توسان گڏ ايمان آندو آهي پنهنجي بستيءَ مان ڪڍي ڇڏينداسون يا توهان اسان جي دين ۾ موٽي اچو. شعيب چيو ڇا اسان بيزار هجون تڏهن بہ. اسان الله تي ڪوڙ مڙهڻ وارن مان ٿينداسون، جيڪڏهن اسان توهان جي دين ۾ موٽي اچون، ان کانپوءِ جو الله اسان کي ان کان نجات ڏني آهي. ۽ اسان کان اهو ممڪن نہ آهي تہ اسان ان دين ڏانهن موٽي اچون، پر سواءِ ان جي جيڪڏهن الله اسان جو رب ئي ائين چاهي. اسان جي رب هر شيءِ کي پنهنجي علم سان گهيرو ڪري رکيو آهي. اسان پنهنجي رب تي ڀروسو ڪيو. اي اسان جا رب! اسان جي ۽ اسان جي قوم جي وچ ۾ حق سان فيصلو ڪري ڇڏ، تون بهترين فيصلو ڪرڻ وارو آهين. ۽ انهن وڏن جن ان جي قوم مان انڪار ڪيو هو چيو تہ جيڪڏهن توهان شعيب جي پيروي ڪندؤ تہ توهان برباد ٿي ويندؤ. پوءِ انهن کي زلزلي اچي پڪڙيو. ۽ اُهي پنهنجي گهرن ۾ منهن ڀر پيل رهجي ويا. جن شعيب کي ڪوڙو ڄاتو هو، ڄڻ تہ اُهي ڪڏهن اُن بستي ۾ رهيا ئي نہ هئا ۽ جن شعيب کي ڪوڙو ڄاتو اُهي ئي گهاٽي ۾ رهيا. اُن وقت شعيب انهن کان منهن موڙي هليو ۽ چيائين اي منهنجي قوم! آئون توهان کي پنهنجي رب جا پيغام پهچائي چڪو آهيان ۽ توهان جي خير خواهي ڪئي. هاڻي آئون ڪيئن افسوس ڪريان منڪرن تي. ٨٨-٩٣

---

حضرت شعيبؑ جي قوم خدا جي انڪار جي مجرم نہ هئي، بلڪ خدا تي ڪوڙ هڻڻ جي مجرم هئي. يعني اُن خدا ڏانهن هڪ اهڙو دين منسوب ڪري رکيو هو، جنهن کي خدا انهن جي لاءِ نازل نہ ڪيو هو. اهوئي سڀني نبين جي قومن جو حال رهيو آهي. نبين جون قومون سڀ اُهي ئي هيون جن تي ان کان پهرين خدا پنهنجو دين نازل ڪيو هو، پر پوءِ انهن هٿ ٺوڪيل تبديلين ۽ اضافن جي ذريعي ان کي ڇا مان ڇا ڪري ڇڏيو. انهن خدا جي دين کي پنهنجن خواهشن جو دين بڻائي ورتو ۽ ان ئي کي خدا جو دين چوڻ لڳا.

وقت جي قائم ٿيل دين ۾ جن ماڻهن کي عزت ۽ وڏائي جو مقام مليل هو. انهن محسوس ڪيو تہ دليل جي لحاظ کان انهن وٽ پيغمبر جي ڳالهين جو جواب (ٽوڙ) نہ آهي. جيئن تہ حڪومت جا سڀ ذريعا انهن وٽ هئا. انهن دليل جي ميدان ۾ پاڻ کي لاجواب ڏسي اِهو چاهيو تہ قوت جي زور تي هُو پيغمبر کي خاموش ڪري ڇڏين. اُنهن پيغمبر جي ساٿين کي اِها نازڪ صورتحال ياد ڏياري تہ وقت جي نظام ۾ زندگيءَ جون سڀئي واڳون انهن ماڻهن جي قبضي آهن جن کي هُو باطل چئي رهيا آهن. اِهي باطل ماڻهو جيڪڏهن انهن جي خلاف حرڪت ۾ اچي ويا تہ ان کان پوءِ اُهي زندگي جا اسباب ڪٿان حاصل ڪندا. پر انهن کي وسري ويو تہ خدا انهن کان بہ وڌيڪ طاقتور آهي. ۽ خدا جنهن جي خلاف ٿي وڃي ان جي لاءِ ڪٿي بہ پناهہ جي جاءِ نہ آهي.

ڪنهن ماڻهوءَ جي لاءِ رڳو ان وقت تائين ڇوٽ آهي جيستائين ان تي حق واضح نہ ٿيو هجي. حق جڏهن چڱي طرح واضح ٿي وڃي ۽ ان کان پوءِ بہ ماڻهو سرڪشي ڪري تہ اهو همدردي جو حق وڃائي ٿو ڇڏي. انهيءَ بنياد تي دنيا ۾ بہ ڪنهن مجرم جي لاءِ سزا آهي ۽ انهيءَ بنياد تي آخرت ۾ بہ ماڻهن جي لاءِ انهن جي جرم جي مطابق سزا جو فيصلو ٿيندو.

وَ مَآ اَرۡسَلۡنَا فِیۡ قَرۡیَۃٍ مِّنۡ نَّبِیٍّ اِلَّاۤ اَخَذۡنَاۤ اَهۡلَهَا بِالۡبَاۡسَآءِ وَ الضَّرَّآءِ لَعَلَّهُمۡ یَضَّرَّعُوۡنَ ﴿۹۴﴾ ثُمَّ بَدَّلۡنَا مَکَانَ السَّیِّئَۃِ الۡحَسَنَۃَ حَتّٰی عَفَوۡا وَّ قَالُوۡا قَدۡ مَسَّ اٰبَآءَنَا

الضَّرَّآءُ وَ السَّرَّآءُ فَاَخَذْنٰهُمْ بَغْتَةً وَّ هُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٩٥﴾ وَ لَوْ اَنَّ اَهْلَ الْقُرٰٓى اٰمَنُوْا
وَ اتَّقَوْا لَفَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَرَكٰتٍ مِّنَ السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ وَ لٰكِنْ كَذَّبُوْا فَاَخَذْنٰهُمْ بِمَا
كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٩٦﴾ اَفَاَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰٓى اَنْ يَّاْتِيَهُمْ بَاْسُنَا بَيَاتًا وَّ هُمْ نَآئِمُوْنَ ﴿٩٧﴾ اَوَ
اَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰٓى اَنْ يَّاْتِيَهُمْ بَاْسُنَا ضُحًى وَّ هُمْ يَلْعَبُوْنَ ﴿٩٨﴾ اَفَاَمِنُوْا مَكْرَ اللّٰهِ ۚ فَلَا
ع ١٢ يَاْمَنُ مَكْرَ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٩٩﴾

۽ اسان جنهن بستي ۾ بہ ڪو نبي موڪليو، اُن جي ماڻهن کي اسان سختي ۽ تڪليف ۾ مبتلا ڪيو تہ جيئن هو ٻاڏائن. پوءِ اسان انهن جي ڏک کي سک سان بدلي ڇڏيو. ايستائين جو انهن کي خوب ترقي ملي ۽ اُهي چوڻ لڳا تہ تڪليف ۽ خوشي تہ اسان جي ابن ڏاڏن کي بہ پهچندي رهي آهي. پوءِ اسان انهن کي اوچتو پڪڙي ورتو ۽ انهن کي اُن جو گمان بہ نہ هو. ۽ جيڪڏهن بستين وارا ايمان آڻين ها ۽ ڊڄن ها تہ اسان انهن تي آسمان ۽ زمين جون نعمتون کولي ڇڏيون ها. پر انهن ڪوڙو ڄاتو تہ اسان انهن کي پڪڙي ورتو سندن عملن جي بدلي ۾. پوءِ ڇا بستي وارا اُن کان بي خوف ٿي ويا آهن تہ انهن تي اسان جو عذاب رات جي وقت اچي ڪڙڪي جڏهن اُهي ستل هجن. يا بستي وارا ان کان بي خوف ٿي ويا آهن تہ اسان جو عذاب اچي وڃي انهن تي ڏينهن ڏٺي جو جڏهن هو راند روند ۾ هجن. ڇا اِهي ماڻهو الله جي تدبيرن کان بي خوف ٿي ويا آهن. پر الله جي تدبيرن کان اُهي ئي ماڻهو بي خوف ٿيندا آهن جيڪي تباهہ ٿيڻ وارا هجن. ٩٤-٩٩

---

حديث ۾ آيو آهي تہ مؤمن تي مصيبتون ايندڀون رهنديون آهن. ايستائين جو هُو گناهن کان پاڪ ٿي ويندو آهي. ۽ منافق جو مثال گڏهہ جهڙو آهي جو هُو نہ ٿو ڄاڻي تہ ان جي مالڪ ڇا جي لاءِ ان کي ٻَڌو ۽ ڇو ان کي ڇڏي ڏنائين (لا يزال البلاء بالمؤمن حتيٰ يخرج نقيا من ذنوبه والمنافق مثله كمثل الحمار لا يدري فيم ربطه اهله ولا فيم ارسلوه - تفسير ابن ڪثير).

خدا اسان جي مٿان مختلف قسم جون تڪليفون آڻيندو آهي، تہ جيئن ان جي دل نرم ٿئي خدا ڪانسواءِ ٻين شين تي ان جو اعتماد ٽٽي پوي، ان جو اُهو تڪبر ختم ٿئي جيڪو ماڻهو کي پاڻ کان ٻاهر ڪنهن سچائي کي قبول ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي ٿو. اهڙي طرح خدائي انتظام جي تحت ماڻهو جي اندر عاجزي ۽ بيوسيءَ جي نفسيات پيدا ڪئي ويندي آهي. تہ جيئن هُو حق جي آواز تي ڌيان ڏي. خدا جو اِهو معاملو عام ماڻهن سان بہ ٿيندو آهي ۽ پيغمبر جي مخاطب جماعت سان بہ. پر اِهو معاملو سنت اِلٰهي جي قانون جي تحت شڪ جي پردي ۾ هوندو آهي، مثلاً آفت ايندي آهي تہ اها سببن جي روپ ۾ ايندي آهي. اِها صورتحال گهڻن ماڻهن جي لاءِ فتنو بڻجي ويندي آهي. هُو اِهو چئي ان کي نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهن تہ اِها هڪ ٿيڻ واري ڳالهہ هئي جيڪا ٿي وئي. پوءِ جڏهن اُهي مصيبتن مان اثر نہ ٿا وٺن تہ خدا انهن جون حالتون بدلائي انهن کي خوشحالي ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ٿو. هاڻي اهڙي قسم جا ماڻهو اڃا بہ وڌيڪ مُغالطي ۾ پئجي ويندا آهن. انهن کي يقين ٿي ويندو آهي تہ اِهي مصيبتون زندگي جو حصو آهن. اِهي زماني جا لاها چاڙها هئا جيڪي هميشہ ماڻهن کي پيش ايندا رهن ٿا، نہ تہ ڪهڙو سبب آهي جو اسان کي ڏُکين ڏينهن ڪانپوءِ سٺا ڏينهن ڏسڻ لاءِ مليا. اُهي پهرين تنبيهہ کان بہ سبق حاصل

ڪرڻ کان محروم رهندا آهن ۽ پي تنبيهه مان به.

سرڪشيءَ ڪانپوءِ ڪنهن کي ترقي ملڻ سخت خطرناڪ آهي. اِها ان ڳالهه جي علامت آهي ته خدا ان کي اهڙي حالت ۾ پڪڙڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. جڏهن ته هُو پنهنجي پڪڙجڻ جي باري ۾ وڌ کان وڌ بي خوف ٿي چڪو آهي.

ايمان ۽ تقويٰ جي زندگي جو فائدو جيتوڻيڪ اصل آخرت ۾ ملڻ وارو آهي، پوءِ به خدا جيڪڏهن چاهي ٿو ته دنيا ۾ به اهڙن ماڻهن کي خوشحالي ۽ عزت جي صورت ۾ انهن جي عمل جو ابتدائي انعام ڏئي ڇڏيندو آهي.

اَوَ لَمۡ يَهۡدِ لِلَّذِيۡنَ يَرِثُوۡنَ الۡاَرۡضَ مِنۡۢ بَعۡدِ اَهۡلِهَاۤ اَنۡ لَّوۡ نَشَآءُ اَصَبۡنٰهُمۡ بِذُنُوۡبِهِمۡ ۚ وَ
نَطۡبَعُ عَلٰى قُلُوۡبِهِمۡ فَهُمۡ لَا يَسۡمَعُوۡنَ ﴿١٠٠﴾ تِلۡكَ الۡقُرٰى نَقُصُّ عَلَيۡكَ مِنۡ اَنۡۢبَآئِهَا ۚ وَ لَقَدۡ
جَآءَتۡهُمۡ رُسُلُهُمۡ بِالۡبَيِّنٰتِ ۚ فَمَا كَانُوۡا لِيُؤۡمِنُوۡا بِمَا كَذَّبُوۡا مِنۡ قَبۡلُ ؕ كَذٰلِكَ يَطۡبَعُ
اللّٰهُ عَلٰى قُلُوۡبِ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿١٠١﴾ وَ مَا وَجَدۡنَا لِاَكۡثَرِهِمۡ مِّنۡ عَهۡدٍ ۚ وَ اِنۡ وَّجَدۡنَاۤ اَكۡثَرَهُمۡ
لَفٰسِقِيۡنَ ﴿١٠٢﴾

ڇا سبق نه مليو انهن کي جيڪي زمين جا وارث ٿيا آهن هِن جي اڳين رهاڪن کان پوءِ. جيڪڏهن اسين گهرون ته اُنهن کي پڪڙي وٺون سندن گناهن تي. ۽ اسان سندن دلين تي مُهر هڻي ڇڏي آهي، تنهن ڪري هو نه ٿا سمجهن. هي اُهي وسنديون آهن جن جا ڪجهه احوال اسان توکي ٻڌائي رهيا آهيون. انهن وٽ اسان جا رسول نشانين سان آيا پر جن ڳالهين جو هُو اڳ ۾ انڪار ڪري چڪا هئا تن تي اُهي ايمان آڻڻ وارا نه هئا. اِهڙي طرح الله منڪرن جي دلين تي مهر هڻي ڇڏيندو آهي. ۽ اسان انهن مان اڪثر ماڻهن ۾ انجام پاڙيندڙ نه ڏٺوسون ۽ اسان انهن ۾ اڪثر کي نافرمان ڏٺوسون. ١٠٠-١٠٢

---

زمين تي هميشه ايئن ٿيندو آهي ته هڪ قوم کي هِتي عزت ۽ خوشحالي نصيب ٿيندي آهي، ان کان پوءِ اُن تي زوال ايندو آهي. ان کي ميدان مان هٽايو ويندو آهي ۽ ان جي جاءِ تي ٻي قوم عزت ۽ خوشحالي جي سيني مقامن تي قابض ٿي ويندي آهي.

اِهو واقعو خدا جي هڪ نشاني آهي. اِهو ماڻهو کي خدا جي ياد ڏيارڻ وارو آهي، اِهو ٻڌائي ٿو ته ملڻ يا نه ملڻ ڪنهن مٿانهين هستي جي هٿ ۾ آهي، هُو جنهن کي چاهي ڏي ۽ جنهن کان چاهي کسي وٺي. خدا انسان کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ جي جيڪا طاقت ڏني آهي، ان کي استعمال ڪري هُو آساني سان هِن حقيقت کي سمجهي سگهي ٿو. هُو ڄاڻي سگهي ٿو ته اصلِ طاقت جيڪڏهن ڪنهن ٻئي جي هٿ ۾ نه هجي ها ته جيڪا جماعت هڪ ڀيري غالب اچي وڃي ها ته اُها ڪڏهن به ٻئي کي مٿي اچڻ نه ڏي ها. ماڻهو جيڪڏهن هِن ڳالهه مان سبق پرائي ته قومن جي عروج ۽ زوال ۾ ان کي رباني رهنمائي ملندي. پر جڏهن به هڪ قوم پنتي هٽي ٿي ۽ ان جي جاءِ تي ٻي قوم اڳتي ايندي آهي ته اُن جا فرد اُن غلط فهمي ۾ پئجي ويندا آهن ته پوئين قومن سان جيڪو ڪجهه ٿيو، اُهو رڳو پوئين قوم جي لاءِ هو، اسان سان ايئن

ڪڍهن به نه ٿيندو.

خدا، اک، ڪن ۽ عقل جي صلاحيت انسان کي ان لاءِ ڏني آهي ته هُو ان مان سبق پرائي. هو انهن جي ذريعي خدا جي اشارن کي سمجهي. پر جڏهن ماڻهو پنهنجن انهن صلاحيتن مان اُهو ڪم نه ٿو وٺي جيڪو ان کي وٺڻ کپي ته ان ڪانپوءِ لازمي ايئن ٿيندو آهي ته خدا جي قانون تحت سندس دل جي حساسيت مرده ٿيڻ لڳندي آهي. ايستائين جو اهڙن معاملن ۾ ان جا جذبا نه هئڻ جي برابر ٿي ويندا آهن. ان جي دل ۽ دماغ تي بي حسيءَ جي مُهر لڳي ويندي آهي. هاڻي ان ڪانپوءِ ان جو حال اِهو ٿي ويندو آهي ته هُو ڏسڻ جي باوجود نه ڏسي ۽ ٻڌڻ جي باوجود نه ٻڌي. هو عقل هوندي به ڳالهين کي نه سمجهي، هو انسان هوندي به انسان نه رهي.

انسانيت جو آغاز حضرت آدم عليه السلام جي مؤمنن کان ٿيو. ان ڪانپوءِ جڏهن بگاڙ آيو ته ياد ڏيارڻ جي لاءِ خدا جا پيغمبر آيا. پوءِ ايئن ٿيو جو پيغمبر جي ذريعي اصلاح قبول ڪرڻ وارن ماڻهن کي بچائي ٻين ماڻهن کي ختم ڪيو ويو جن اصلاح قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. پر پوءِ اچڻ وارن نسلن وري پنهنجي پيغمبر جي هٿ تي ڪيل اصلاح جي عهد کي وساري ڇڏيو ۽ پيهر ساڳيو انجام پيش آيو جيڪو پهرين پيري آدم عليه السلام جي مؤمنين کي پيش آيو هو. اِها صورت هر هر پيش ايندي رهي ايستائين جو انساني نسل جي اڪثريت جي لاءِ تاريخ نافرماني ۽ عهد شڪني جي تاريخ بڻجي وئي.

ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ مُّوْسٰى بِاٰيٰتِنَاۤ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَ مَلَا۟ىٕهٖ فَظَلَمُوْا بِهَا ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ
كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿۱۰۳﴾ وَ قَالَ مُوْسٰى يٰفِرْعَوْنُ اِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۰۴﴾
حَقِيْقٌ عَلٰۤى اَنْ لَّاۤ اَقُوْلَ عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّ ؕ قَدْ جِئْتُكُمْ بِبَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَرْسِلْ
مَعِيَ بَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ ﴿۱۰۵﴾ قَالَ اِنْ كُنْتَ جِئْتَ بِاٰيَةٍ فَاْتِ بِهَاۤ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۱۰۶﴾
ع ۱۳ فَاَلْقٰى عَصَاهُ فَاِذَا هِيَ ثُعْبَانٌ مُّبِيْنٌ ﴿۱۰۷﴾ وَّ نَزَعَ يَدَهٗ فَاِذَا هِيَ بَيْضَآءُ لِلنّٰظِرِيْنَ ﴿۱۰۸﴾ قَالَ
الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِ فِرْعَوْنَ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ عَلِيْمٌ ﴿۱۰۹﴾ يُّرِيْدُ اَنْ يُّخْرِجَكُمْ مِّنْ اَرْضِكُمْ ۚ
فَمَا ذَا تَاْمُرُوْنَ ﴿۱۱۰﴾ قَالُوْۤا اَرْجِهْ وَ اَخَاهُ وَ اَرْسِلْ فِي الْمَدَآىِٕنِ حٰشِرِيْنَ ﴿۱۱۱﴾ يَاْتُوْكَ بِكُلِّ
سٰحِرٍ عَلِيْمٍ ﴿۱۱۲﴾

انهن ڪانپوءِ اسان موسيٰ کي پنهنجن نشانين سان فرعون ۽ ان جي قوم جي سردارن وٽ موڪليو. پر انهن اسان جي نشانين سان ظلم ڪيو. پوءِ ڏس ته فساد ڪندڙن جو انجام ڇا ٿيو. ۽ موسيٰ چيو اي فرعون! آئون جهانن جي پالڻهار طرفان موڪليل آهيان. مون تي واجب آهي ته الله جي نالي تي ڪابه ڳالهه حق ڪانسواءِ نه چوان. آئون تو وٽ تنهنجي رب طرفان پڌري نشاني سان آيو آهيان. تنهن ڪري تون مون سان گڏ بني اسرائيل کي وڃڻ ڏي. فرعون چيو، تو ڪا نشاني آندي آهي ته ان کي پيش ڪر جيڪڏهن تون سچو آهين. پوءِ موسيٰ پنهنجي لٺ کي اڇلايو ته اُها اوچتو هڪ پڌرو اژدها بڻجي پيئي. ۽ هُن پنهنجو هٿ ڪڍيو ته اِهو اوچتو ڏسندڙن جي لاءِ چمڪندڙ ٿي پيو. فرعون جي قوم جي سردارن چيو ته هي شخص وڏو ماهر جادوگر آهي. چاهي ٿو ته توهان

ڪي توهان جي زمين مان بي دخل ڪري. هاڻي توهان جي ڪهڙي صلاح آهي. انهن چيو موسيٰ کي ۽ سندس ڀاءُ
کي مهلت ڏي ۽ شهرن ۾ قاصد موڪل ته اُهي تو وٽ سڀئي ماهر جادوگر وٺي اچن. ١٠٣-١١٢

پيغمبر جو خطاب پهرين انهن ماڻهن کي هوندو آهي جيڪي وقت جا سردار هجن، جن کي ماحول ۾ فڪري اڳواڻي حاصل هجي. اهي ماڻهو پنهنجي ذهني قابليت جي ڪري سڀني کان وڌيڪ اهڙي پوزيشن ۾ هوندا آهن جو سچائي جي پيغام کي ان جي گهرائي سان سمجهي سگهن، پر تاريخ ٻڌائي ٿي ته انهن ماڻهن پيغمبراڻي دعوت سان هميشه "ظلم" جو سلوڪ ڪيو. يعني پنهنجي ذهانت کي اُن لاءِ استعمال ڪيو ته حق جي پيغام کي غلط معنيٰ ڏين. مثلاً هڪ نشاني جيڪا اهو ثابت ڪري رهي هجي ته اُها خدا جي زور تي ظاهر ٿي آهي، ان جي متعلق اِهو چئي ڏيڻ ته اِها جادو جي زور تي ڏيکاري وئي آهي يا تحريڪ کي بدنام ڪرڻ جي لاءِ اُن کي سياسي معنيٰ ڏيڻ ۽ اِهو چوڻ ته اِهي ماڻهو محض پنهنجي اقتدار جي لاءِ اٿيا آهن. ڇاڪاڻ ته عوام ڳالهين جو تجزيو نٿي ڪري سگهي، ان ڪري اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪين حق جي باري ۾ شڪ ۾ وجهڻ جو سبب بڻجي وينديون آهن. پر حق جي داعي جي خلاف اِهڙا شوشا ڇڏڻ وڏو جرم آهي. اهڙي طرح وقت جا وڏا پنهنجي قيادت جو تحفظ ضرور ڪري وٺندا آهن، پر اهو تحفظ انهن کي صرف هِن قيمت تي ملندو آهي ته انهن جي آخرت هميشه جي لاءِ غير محفوظ ٿي وڃي.

خدا ڪامل حق تي آهي. ان ڪري جيڪو شخص خدا جي طرفان اٿي ان جي لاءِ جائز نه آهي ته اُهو حق ۽ انصاف ڪانسواءِ ڪا بي ڳالهه پنهنجي زبان مان ڪڍي. جيڪڏهن هُو حق کان سواءِ ڪا ڳالهه چوي ته هُو خدا جي نمائندگي جو حق وڃائي ڇڏيندو ۽ خدا وٽ انعام جي بجاءِ سزا جو مستحق ٿي ويندو.

حضرت موسيٰ عليه السلام هڪ ئي وقت بني اسرائيل ڏانهن ۽ فرعون ۽ اُن جي قبطي قوم ڏانهن موڪليل هئا. بني اسرائيل ۾ جيتوڻيڪ ان وقت گهڻيون ئي ڪمزوريون اچي چڪيون هيون، پوءِ به بنيادي طور تي انهن حضرت موسيٰ عليه السلام جو ساٿ ڏنو. ان جي ابتڙ فرعون ۽ ان جي قوم (ڪجهه فردن ڪانسواءِ) پاڻ عليه السلام جو انڪار ڪيو. آخرڪار چاليهه سالن جي تبليغ کان پوءِ پاڻ عليه السلام بني اسرائيل سان گڏ مصر مان هجرت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پاڻ عليه السلام فرعون کان مطالبو ڪيو ته بني اسرائيل کي ملڪ مان ٻاهر وڃڻ ڏي، ته جيئن اُهي رڻ جي کليل فضا ۾ وڃي ڪري هڪ خدا جي عبادت ڪري سگهن. (خروج-١٤) حضرت موسيٰ عليه السلام جيتوڻيڪ سچائي جا نمائنده هئا، پر فرعون اُن کي جادوءَ جو معاملو سمجهيو ۽ جادوگرن جي ذريعي پاڻ عليه السلام کي شڪست ڏيڻ جو فيصلو ڪيو.

وَ جَآءَ السَّحَرَةُ فِرۡعَوۡنَ قَالُوۡۤا اِنَّ لَنَا لَاَجۡرًا اِنۡ كُنَّا نَحۡنُ الۡغٰلِبِيۡنَ ﴿١١٣﴾ قَالَ نَعَمۡ وَ
اِنَّكُمۡ لَمِنَ الۡمُقَرَّبِيۡنَ ﴿١١٤﴾ قَالُوۡا يٰمُوۡسٰۤى اِمَّاۤ اَنۡ تُلۡقِىَ وَ اِمَّاۤ اَنۡ نَّكُوۡنَ نَحۡنُ الۡمُلۡقِيۡنَ ﴿١١٥﴾
قَالَ اَلۡقُوۡا ۚ فَلَمَّاۤ اَلۡقَوۡا سَحَرُوۡۤا اَعۡيُنَ النَّاسِ وَ اسۡتَرۡهَبُوۡهُمۡ وَ جَآءُوۡ بِسِحۡرٍ
عَظِيۡمٍ ﴿١١٦﴾ وَ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلٰى مُوۡسٰۤى اَنۡ اَلۡقِ عَصَاكَ ۚ فَاِذَا هِىَ تَلۡقَفُ مَا يَاۡفِكُوۡنَ ﴿١١٧﴾ فَوَقَعَ
الۡحَقُّ وَ بَطَلَ مَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿١١٨﴾ فَغُلِبُوۡا هُنَالِكَ وَ انۡقَلَبُوۡا صٰغِرِيۡنَ ﴿١١٩﴾ وَ اُلۡقِىَ

السَّحَرَةُ سٰجِدِيۡنَ ﴿١٢٠﴾ قَالُوۡۤا اٰمَنَّا بِرَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿١٢١﴾ رَبِّ مُوۡسٰى وَ هٰرُوۡنَ ﴿١٢٢﴾

۽ جادوگر فرعون وٽ آيا. انهن چيو اسان کي انعام ته ضرور ملندو جيڪڏهن اسان غالب رهون. فرعون چيو ها ۽ يقيناً توهان اسان وٽ وڏي مرتبي وارن مان هوندؤ. جادوگرن چيو، اي موسيٰ! تون اڳ ۾ اڇلائيندين يا اسين اڇلايون. موسيٰ چيو اوهين اڇلايو. پوءِ جڏهن انهن اڇلايو ته ماڻهن جي اکين تي جادو ڪري ڇڏيو ۽ انهن تي دهشت طاري ڪري ڇڏي ۽ تمام وڏو جادو ڏيکاريو ۽ اسان موسيٰ کي حڪم موڪليو ته پنهنجي لٺ اڇلائي ڇڏ. ته اچانڪ اُها ڳهندي ويئي ان کي جيڪو انهن ٺاهه ٺاهيو هو. پوءِ حق ظاهر ٿي ويو ۽ جيڪو ڪجهه انهن ٺاهيو هو سو باطل ٿي رهجي ويو. پوءِ اتي اُهي ماڻهو مغلوب ٿي ويا ۽ ذليل ٿيا. ۽ جادوگر سجدي ۾ ڪري پيا. انهن چيو، اسان ايمان آندوسون رب العالمين تي جيڪو رب آهي موسيٰ ۽ هارون جو. ١١٣-١٢٢

جنهن ماحول ۾ جنهن شيءِ جي اهميت ماڻهن جي ذهن تي ڇانيل هجي، ان ئي نسبت سان انهن جي پيغمبر کي معجزو ڏنو ويندو آهي. قديم مصر ۾ جادوءَ جو وڏو زور هو، ان ڪري موسيٰ عليه السلام کي ان ئي نوعيت جا معجزا ڏنا ويا.

فرعون جي طي ڪيل پروگرام جي مطابق مصرين جي قومي تهوار (يوم الزينة) جي موقعي تي انهن جا سيئي وڏا وڏا جادوگر جمع ٿيا. جادوگرن چيو پهرين اسان پنهنجو ڪرتب ڏيکاريون يا تون جيڪو ڪجهه ڏيکارڻ چاهين ٿو ته ڏيکار. حضرت موسيٰ عليه السلام چيو پهرين توهان پنهنجو ڪرتب ڏيکاريو، پوءِ ايئن ئي ٿيو. ان مان معلوم ٿيو ته پيغمبر پنهنجي دشمن جي خلاف ڪڏهن به اڳرائي نه ٿو ڪري. هو آخر وقت تائين دشمن کي موقعو ڏيندو آهي ته اهو شروعات ڪري. مخالف ڌر جڏهن اِهڙي طرح شروعات جي ذميداري پنهنجي مٿان کڻي وٺندي آهي ته ان وقت پيغمبر پنهنجي پوري قوت کي استعمال ڪري ان کي شڪست ڏئي ڇڏيندو آهي. نظرياتي دعوت جي معاملي ۾ پيغمبر جو طريقو هميشه اڳرائي وارو هوندو آهي ۽ عملي ٽڪراءَ جي معاملي ۾ دفاع وارو.

مصر ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام جي دعوت تقريباً چاليهه سالن تائين جاري رهي. جادوگرن سان مقابلي جو واقعو دعوت جي آخري زماني جو آهي. ان مان قياس ڪري سگهجي ٿو ته جادوگر حضرت موسيٰ عليه السلام جي دعوت کان باخبر رهيا هوندا. پوءِ به اجا تائين انهن جي اکين تان پردو نه هٽيو هو. جڏهن انهن پنهنجي خاص فن جي ميدان ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام جي برتري ڏٺي ته سڀ پردا هٽي ويا. انهن کي نظر اچي ويو ته اِهو جادو جو معاملو نه آهي، بلڪ خدائي پيغمبري جو معاملو آهي. اُهي بي اختيارِ خدا جي سامهون ڪِري پيا.

جادوگرن پنهنجون لٺيون، رسيون اڇلايون ته خيال بندي جي ڪري اُهي ماڻهن کي هلندڙ نانگ نظر اچڻ لڳيون، پر جڏهن حضرت موسيٰ عليه السلام جي لٺ نانگ بڻجي ميدان ۾ هليو ته جادوگرن جي هر لٺ ۽ رسي رڳو لٺ ۽ رسي ئي رهجي ويا. جادوگر جادوءَ جي حدن کي ڄاڻندا هئا. ان واقعي ۾ جادوگرن کي نظر اچي ويو ته انساني تدبيرون پنهنجي آخري ڪمال تي پهچي ڪري به ڪيتريون نه حقير آهن ۽ خدا ڪيترو نه عظيم ۽ ڪيترو گهڻو طاقتور آهي. ان ڪان پوءِ فرعون انهن کي پنهنجي سڄي اقتدار جي باوجود حقير نظر اچڻ لڳو. اُهي جادوگر جيڪي خدا جي عظمت کي ڏسڻ کان پهرين فرعون کان انعام جا طالب هئا. هاڻي انهن فرعون جي طرفان بدترين سزائن جي ڌمڪي کي به اِهڙي طرح نظرانداز ڪري ڇڏيو ڄڻ ان جي ڪا حقيقت ئي نه آهي.

قَالَ فِرۡعَوۡنُ اٰمَنۡتُمۡ بِهٖ قَبۡلَ اَنۡ اٰذَنَ لَكُمۡ ۚ اِنَّ هٰذَا لَمَكۡرٌ مَّكَرۡتُمُوۡهُ فِى الۡمَدِيۡنَةِ
لِتُخۡرِجُوۡا مِنۡهَاۤ اَهۡلَهَا ۚ فَسَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ ﴿١٢٣﴾ لَاُقَطِّعَنَّ اَيۡدِيَكُمۡ وَ اَرۡجُلَكُمۡ مِّنۡ خِلَافٍ
ثُمَّ لَاُصَلِّبَنَّكُمۡ اَجۡمَعِيۡنَ ﴿١٢٤﴾ قَالُوۡۤا اِنَّاۤ اِلٰى رَبِّنَا مُنۡقَلِبُوۡنَ ﴿١٢٥﴾ ۚ وَ مَا تَنۡقِمُ مِنَّاۤ اِلَّاۤ اَنۡ اٰمَنَّا
ع ١٤ ١٨ بِاٰيٰتِ رَبِّنَا لَمَّا جَآءَتۡنَا ؕ رَبَّنَاۤ اَفۡرِغۡ عَلَيۡنَا صَبۡرًا وَّ تَوَفَّنَا مُسۡلِمِيۡنَ ﴿١٢٦﴾ ع

فرعون چيو توهان موسيٰ تي ايمان آڻي ڇڏيو ان کان اڳ جو آئون توهان کي اجازت ڏيان ها. يقيناً اِها هڪ سازش آهي جيڪا توهان ماڻهن شهر ۾ ان ڪري ڪئي آهي جو توهان هتي جي رهواسين کي هِتان ڪڍي ڇڏيو، پوءِ توهان کي جلد ئي خبر پئجي ويندي. آئون توهان جا هٿ ۽ پير مخالف رخن کان ڪپيندس، پوءِ توهان سڀني کي ڦاهي چاڙهيندس. انهن چيو اسان کي رب ڏانهن ئي موٽڻو آهي. تون رڳو اسان کي هِن ڳالهه جي سزا ڏيڻ چاهين ٿو جڏهن اسان جي رب جون نشانيون اسان جي سامهون اچي ويون ته اسان انهن تي ايمان آندو آهي. اي رب! اسان تي صبر جي پالوٽ ڪر ۽ اسان کي وفات ڏي اسلام تي. ١٢٣-١٢٦

---

حق جي لاءِ جان قربان ڪرڻ، حق جي حق هئڻ جي آخري شاهدي ڏيڻ آهي. جادوگرن کي خدا جي مدد سان اُن جي توفيق حاصل ٿي. جادوگرن پنهنجي پاڻ کي سخت ترين سزا جي لاءِ پيش ڪري اِهو ثابت ڪري ڇڏيو ته انهن جو حضرت موسيٰ عليه السلام تي ايمان آڻڻ ڪو حيلو ۽ سازش جو معاملو نه آهي، اِهو حق جي اعتراف جو معاملو آهي، پر جادوگرن جو عمل فرعون جي تڪبر واري نفسيات جي لاءِ سڀ کان وڏي تنبيهه هئي. انهن فرعون جي مقابلي ۾ موسيٰ عليه السلام جو ساٿ ڏئي فرعون کي سڄي قوم جي سامهون رُسوا ڪري ڇڏيو. تنهن ڪري فرعون انهن تي ڪاوڙجي پيو. هُن جادوگرن سان اُن ظالماڻي ڪارروائي جو فيصلو ڪيو، جيڪا هر اُهو متڪبر شخص ڪندو آهي جنهن کي زمين تي ڪنهن قسم جو اختيار حاصل ٿي وڃي. جادوگر به دليل جي ميدان ۾ هارجي ويا ۽ فرعون به. پر جادوگرن شڪست جو اعتراف ڪري خدا جي هميشه وارين نعمتن جا مستحق بڻجي ويا ۽ فرعون ان کي پنهنجي عزت جو مسئلو بڻائي ورتو. ان جي حصي ۾ رڳو اهو آيو ته پنهنجي ڪوڙي انا جي تسڪين جي لاءِ دنيا ۾ هُو حق پرستن تي ظلم ڪري ۽ آخرت ۾ خدا جي هميشه واري عذاب ۾ وڃو وڃي.

فرعون موسيٰ عليه السلام جي دعوت کي قبول ڪرڻ يا نه ڪرڻ کي پنهنجي ”اجازت“ جو مسئلو سمجهيو ۽ جادوگرن ان کي ”نشاني“ جو. متڪبر ماڻهوءَ جو مزاج هميشه اِهو هوندو آهي ته اُهو پنهنجي مرضي کي سڀني کان وڏيڪ اهم سمجهندو آهي، نه وري دليل ۽ ثبوت کي. اِهڙن ماڻهن کي حق کي قبول ڪرڻ جي ڪڏهن به توفيق نه ٿي ملي.

جادوگرن اُن انتهائي نازڪ موقعي تي جيڪا ثابت قدمي ۽ مضبوطي ڏيکاري، اِها سراسر خدا جي مدد سان هئي ۽ انهن جي زبان مان جيڪا دعا نڪتي اُها به سراسر الهامي دعا هئي. جڏهن ڪو ٻانهو پنهنجي پاڻ کي مڪمل طور تي خدا جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي ته ان وقت اُهو خدا جي ايترو ويجهو ٿي ويندو آهي جو ان کي خدا جو خاص فيض پهچڻ لڳندو آهي. ان وقت ان جي زبان مان اهڙا ڪلما نڪرندا آهن جيڪي خدا طرفان هوندا آهن. ان وقت هو اُهائي دعا گهرندو آهي جنهن جي متعلق سندس

خدا پھرين ئي فيصلو ڪري چڪو ھوندو آھي تہ اُھا ان جي لاءِ قبول ڪئي ويئي آھي.

جادوگرن جو اِھو چوڻ تہ خدايا اسان تي صبر جي پالوٽ ڪر ۽ اسان کي موت اچي تہ اسلام تي اچي، ٻين لفظن ۾ اِھو چوڻ آھي تہ اسان پنھنجي وس آھر پنھنجي پاڻ کي تنھنجي حوالي ڪري ڇڏيو آھي. ھاڻي جيڪو ڪجھ اسان جي وس کان ٻاھر آھي ان جي لاءِ تون اسان جي لاءِ ڪافي ٿي وڃ. جڏھن بہ ڪو ٻانھو دين جي راھ ۾ دل سان اِھا دعا ڪندو آھي تہ خدا يقيناً سندس مشڪلات ۾ ان لاءِ ڪافي ٿي ويندو آھي.

وَ قَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِ فِرْعَوْنَ اَتَذَرُ مُوْسٰى وَ قَوْمَهٗ لِيُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ وَ يَذَرَكَ وَ اٰلِهَتَكَ ؕ قَالَ سَنُقَتِّلُ اَبْنَآءَهُمْ وَ نَسْتَحْيٖ نِسَآءَهُمْ ۚ وَ اِنَّا فَوْقَهُمْ قٰهِرُوْنَ ﴿۱۲۷﴾ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهِ اسْتَعِيْنُوْا بِاللّٰهِ وَ اصْبِرُوْا ۚ اِنَّ الْاَرْضَ لِلّٰهِ ۙ۫ يُوْرِثُهَا مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ؕ وَ الْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۲۸﴾ قَالُوْۤا اُوْذِيْنَا مِنْ قَبْلِ اَنْ تَاْتِيَنَا وَ مِنْۢ بَعْدِ مَا جِئْتَنَا ؕ قَالَ عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يُّهْلِكَ عَدُوَّكُمْ وَ يَسْتَخْلِفَكُمْ فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرَ كَيْفَ تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۲۹﴾ ع ۱۵/۵

فرعون جي قوم جي سردارن چيو ڇا تون موسيٰ ۽ اُن جي قوم کي ڇڏي ڏيندين تہ اُھي ملڪ ۾ فساد ڪن ۽ توکي ۽ تنھنجي معبودن کي ڇڏي ڏين. فرعون چيو تہ اسان انھن جي پٽن کي قتل ڪنداسون ۽ سندن عورتن کي زندھ رکنداسون. ۽ اسان انھن تي پوري طرح قادر آھيون. موسيٰ پنھنجي قوم کي چيو تہ الله کان مدد گھرو ۽ صبر ڪريو. زمين الله جي آھي، ھو پنھنجن ٻانھن مان جنھن کي چاھي ٿو ان جو وارث بڻائي ٿو. ۽ آخري ڪاميابي الله کان ڊڄڻ وارن جي لاءِ ئي آھي. موسيٰ جي قوم چيو تہ اسان تنھنجي اچڻ کان اڳ بہ ستايا ويا آھيون ۽ تنھنجي اچڻ کان پوءِ بہ. موسيٰ چيو قريب آھي تہ توھان جو رب توھان جي دشمن کي ھلاڪ ڪري ۽ توھان کي ھِن سرزمين جو مالڪ بڻائي ڇڏي، پوءِ ڏسي تہ توھان ڪھڙا عمل ٿا ڪريو. ۱۲۷-۱۲۹

بني اسرائيل پنھنجي پيغمبر جي سامھون جيڪو مسئلو پيش ڪيو، اُھو حڪومت جو پيدا ڪيل ھو. پر پيغمبر ان جو حل اِھو ٻڌايو تہ الله ڏانھن رجوع ڪريو. ان مان اندازو ٿيندو آھي تہ قومي مسئلن جي باري ۾ دنيادار ليڊرن جي سوچڻ جي انداز ۽ پيغمبر جي سوچڻ جي انداز ۾ ڪھڙو فرق ھوندو آھي. دنيادار ليڊر اھڙي قسم جي مسئلي جو حل حڪومت جي سطح تي تلاش ڪندو آھي، چاھي اُھو حڪومت سان ناھ جي صورت ۾ ھجي يا حڪومت سان ٽڪراءَ جي صورت ۾. پر پيغمبر جيڪو حل ٻڌايو، اُھو ھِي ھو تہ جيڪو ڪجھ ٿي رھيو آھي ان کي برداشت ڪندي خدا کان مدد جا طالب بڻجي وڃو. حڪومت کان بي نياز ٿي ڪري خدا ڏانھن رجوع ڪريو.

پوءِ پيغمبر اِھو بہ ٻڌايو تہ ھُو عام قومي ذوق جي خلاف جيڪو حل پيش ڪري رھيو آھي، اُھو ڇا جي ڪري پيش ڪري رھيو آھي؟ ان جو سبب اھو آھي تہ اِھي مسئلا جيتوڻيڪ بظاھر اقتدار طرفان پيش اچي رھيا آھن ۽ بظاھر اقتدار جي ذريعي ئي ان جو حل بہ نڪرندو، پر خود اقتدار ڪيئن ڪنھن

ڪي ملندو آهي، اِهو رڳو پنهنجن تدبيرن سان ڪنهن ڪي نہ ٿو ملي، بلڪ خدا جي طرفان ڪنهن ڪي ڏيڻ جو فيصلو هوندو آهي ۽ ڪنهن ڪان ڪسي وٺڻ جو. جڏهن اقتدار جو تعلق خدا سان آهي تہ مسئلي جي حل جي جڙ بہ يقيناً خدا وٽ ئي ٿي سگهي ٿي.

پوءِ اِهو اقتدار جنهن کي بہ ڏنو وڃي ٿو، اُهو حقيقت ۾ اُن جي حق ۾ آزمائش هوندو آهي. هِن دنيا ۾ طاقتور نہ هجڻ بہ آزمائش آهي ۽ طاقتور هجڻ بہ آزمائش. اڄ جنهن وٽ اقتدار آهي، اُن وٽ بہ انهي لاءِ آهي تہ اُن کي آزمايو وڃي تہ هو ظالم ۽ متڪبر بڻجي ٿو يا انصاف ۽ عاجزي جو طريقو اختيار ڪري ٿو. ان ڪانپوءِ جڏهن اقتدار جو فيصلو توهان جي حق ۾ ڪيو ويندو تہ ان وقت بہ ان جو مقصد توهان کي آزمائڻ ئي هوندو. جهڙي طرح هڪ جماعت جي نا اهلي جي ڪري ان کان اقتدار کسي ڪنهن ٻي جماعت کي ڏنو ويندو آهي، اهڙي طرح ٻي جماعت جيڪڏهن نا اهل ثابت ٿئي تہ ان کان بہ کسي ڪري ٻيهر ڪنهن ٻئي کي ڏنو ويندو.

خوشحالي ۽ اقتدار کي ماڻهو دنيا ۾ چاهي ٿو پر اُها حقيقت ۾ آخرت ۾ ملڻ واري شيءِ آهي. ڇاڪاڻ تہ دنيا ۾ اِهي شيون آزمائش طور ملنديون آهن ۽ آخرت ۾ اُهي انعام طور خدا جي صالح ٻانهن کي ڏنيون وينديون.

وَ لَقَدۡ اَخَذۡنَاۤ اٰلَ فِرۡعَوۡنَ بِالسِّنِيۡنَ وَ نَقۡصٍ مِّنَ الثَّمَرٰتِ لَعَلَّهُمۡ يَذَّكَّرُوۡنَ ﴿١٣٠﴾ فَاِذَا
جَآءَتۡهُمُ الۡحَسَنَةُ قَالُوۡا لَنَا هٰذِهٖ ۚ وَ اِنۡ تُصِبۡهُمۡ سَيِّئَةٌ يَّطَّيَّرُوۡا بِمُوۡسٰى وَ مَنۡ مَّعَهٗ ؕ
اَلَاۤ اِنَّمَا طٰٓئِرُهُمۡ عِنۡدَ اللّٰهِ وَ لٰكِنَّ اَكۡثَرَهُمۡ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿١٣١﴾ وَ قَالُوۡا مَهۡمَا تَاۡتِنَا بِهٖ مِنۡ
اٰيَةٍ لِّتَسۡحَرَنَا بِهَا ۙ فَمَا نَحۡنُ لَكَ بِمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿١٣٢﴾

۽ اسان فرعون وارن کي ڏڪار ۽ پيداوار جي ڪمي ۾ مبتلا ڪيو، تہ جيئن اهي نصيحت پرائن. پر جڏهن انهن تي خوشحالي ايندي هئي تہ چوندا هئا تہ اِها اسان جي لاءِ آهي ۽ جيڪڏهن انهن تي ڪا آفت ايندي هئي تہ اُن کي موسىٰ ۽ سندس ساٿين جي نحوست ڀائيندا هئا. ٻڌو، سندن بدبختي تہ الله وٽ آهي پر انهن مان اڪثر نہ ٿا ڄاڻن. ۽ انهن موسىٰ کي چيو، تون اسان تي جادو هلائڻ لاءِ ڪٿي ڪهڙي بہ نشاني آڻين تہ بہ اسين توتي ايمان آڻڻ وارا نہ آهيون. ١٣٠-١٣٢

ڪنهن ڳالھ کي غلط چوڻو هجي تہ ان جو غلط هئڻ لفظن جي صورت ۾ ٻڌايو ويندو آهي ۽ ڪنهن ڳالھ کي صحيح چوڻو هجي تہ ان کي بہ لفظن جي ذريعي صحيح چيو ويندو آهي. اهڙي طرح ڪنهن کي مجرم قرار ڏيڻو هجي تہ اُن کي لفظن جي ذريعي مجرم قرار ڏنو ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي حق تي ظاهر ڪرڻو هجي تہ ان جو حق تي هجڻ بہ لفظن ۾ ٻڌايو ويندو آهي. پر لفظن جو استعمال ڪرڻ وارو انسان آهي ۽ موجوده امتحان جي دنيا ۾ انسان کي اِهو اختيار حاصل آهي تہ هُو لفظن کي جهڙي طرح چاهي پنهنجي مرضي مطابق استعمال ڪري.

امتحان جي هِن دنيا ۾ ماڻهو کي جيڪا آزادي ڏني وئي آهي، ان ۾ سڀني کان وڌيڪ نازڪ آزادي اِها آهي تہ هُو حق کي باطل چوڻ جي لاءِ بہ لفظ ڳولهي ٿو وٺي ۽ باطل کي حق چوڻ جي لاءِ بہ. هُو هڪ پڌري پيغمبراڻي معجزي کي جادو چئي نظر انداز ڪري سگهي ٿو. خدا ان کي ڪا نعمت ڏي تہ هُو

ان کي اهڙن لفظن ۾ بيان ڪري سگهي ٿو ته ڇڻ ان کي جيڪو ڪجهه مليو آهي پنهنجن صلاحيتن ۽ ڪوششن جي ڪري مليو آهي. حق کي نظر انداز ڪرڻ جي ڪري خدا اُن تي تنبيهه لاءِ ڪا سزا موڪلي ته هُو آزاد آهي ته اُن کي هو خدا پرست ٻانهن جي نحوست جو نتيجو قرار ڏئي ڇڏي، جن سان برو رويو اختيار ڪرڻ جي ڪري ئي اُن تي اِها تنبيهه آئي آهي. خدا طرفان هر ڳالهه اُن ڪري ايندي آهي ته ماڻهو ان مان نصيحت وٺي. پر لفظن جي ذريعي ماڻهو هر نصيحت کي هڪ اُبتو رخ ڏئي ڇڏيندو آهي ۽ اُن جي اندر جيڪو سبق جو پهلو آهي، اُن کي حاصل ڪرڻ کان محروم رهجي ويندو آهي.

”تون چاهي ڪهڙي به نشاني ڏيکار، اسان ايمان نه آڻيندا سون“ فرعون جو اِهو جملو ٻڌائي ٿو ته حق پنهنجي مڪمل صورت ۾ موجود هئڻ جي باوجود صرف اُن ئي کي ملندو آهي جيڪو اُن کي پائڻ چاهي. ٻين لفظن ۾ جيڪو ماڻهو حق جي معاملي ۾ سنجيده هجي، جنهن جي اندر حقيقت ۾ اِها چاهت هجي ته حق چاهي جتي ۽ جهڙي صورت ۾ به ملي، هو اُن کي وٺي ڇڏيندو. اُن تي ئي حق جو حق هجڻ کلندو آهي. اُن جي ابتڙ جيڪو ماڻهو اُن معاملي ۾ سنجيده نه هجي، جنهن جو حال اهو هجي ته جيڪو ڪجهه اُن وٽ آهي بس اُن ئي تي هو مطمئن آهي ته اُهو حق کي حق جي صورت ۾ ڏسڻ کان عاجز رهجي ويندو ۽ اُن ڪري هو اُن کي اختيار به نه ڪري سگهندو. پنهنجي حال ۾ مست رهڻ ماڻهوءَ کي ٻاهر وارين شين کان بي خبر بڻائي ٿو ڇڏي. هو چاٽي به نه ٿو چاٽي، هو ٻُڌي به نه ٿو ٻڌي.

ماڻهو غير متاثر ذهن سان سوچي ته هو ضرور حقيقت کي پائي وٺندو. پر اڪثر ماڻهو پنهنجي نفسيات جي اثر هيٺ راءِ قائم ڪندا آهن. اِهو ئي سبب آهي جو اُهي حقيقت کي پائڻ ۾ ناڪام رهندا آهن.

فَأَرْسَلْنَا عَلَيْهِمُ الطُّوفَانَ وَ الْجَرَادَ وَ الْقُمَّلَ وَ الضَّفَادِعَ وَ الدَّمَ اٰيٰتٍ مُّفَصَّلٰتٍ
فَاسْتَكْبَرُوْا وَ كَانُوْا قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ ﴿١٣٣﴾ وَ لَمَّا وَقَعَ عَلَيْهِمُ الرِّجْزُ قَالُوْا يٰمُوْسَى ادْعُ لَنَا
رَبَّكَ بِمَا عَهِدَ عِنْدَكَ لَئِنْ كَشَفْتَ عَنَّا الرِّجْزَ لَنُؤْمِنَنَّ لَكَ وَ لَنُرْسِلَنَّ مَعَكَ بَنِيْٓ
اِسْرَآءِيْلَ ﴿١٣٤﴾ فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُمُ الرِّجْزَ اِلٰٓى اَجَلٍ هُمْ بٰلِغُوْهُ اِذَا هُمْ يَنْكُثُوْنَ ﴿١٣٥﴾

پوءِ اسان انهن تي طوفان موڪليو ۽ ماڪڙ ۽ جوئون ۽ ڏيڏر ۽ رت. اهي سڀ نشانيون الڳ الڳ ڏيکاريون. پوءِ به انهن تڪبر ڪيو ۽ اُهي مجرم ماڻهو هئا. ۽ جڏهن انهن تي ڪو عذاب ايندو هو ته چوندا هئا اي موسيٰ! پنهنجي رب کان اسان جي لاءِ دعا ڪر، جنهن جو اُن تو سان وعدو ڪيو آهي، جيڪڏهن تون اسان تان هن عذاب کي هٽائيندين ته اسان ضرور تو تي ايمان آڻينداسون ۽ توسان گڏ بني اسرائيل کي وڃڻ ڏينداسون. پوءِ جڏهن اسان عذاب جيڪو هڪ مقرر ڪيل مدت تائين انهن کي پهچڻو هو، هٽايو تي ته يڪدم اُهي عهد کي ٽوڙي ڇڏيندا هئا. ١٣٣-١٣٥

---

حضرت موسيٰ عليه السلام مصر ۾ تقريباً ٤٠ سالن تائين پيغمبري ڪئي. پاڻ عليه السلام جي مشن جا ٻه حصا هئا. هڪ فرعون کي توحيد جو پيغام ڏيڻ. ٻيو بني اسرائيل کي مصر مان ڪڍي سينا جي رڻ ۾ وٺي وڃڻ ۽ اُتي آزاد فضا ۾ انهن جي ديني تربيت ڪرڻ. بني اسرائيل (حضرت يعقوب جي اولاد) اُن وقت قبطي بادشاهه (فرعون) جي سخت پڪڙ ۾ هئا. قبطي قوم انهن کي پنهنجي زراعت ۽ تعميرات جي ڪمن ۾ مزدور طور

استعمال ڪندي هئي. اُن ڪري قبطي حڪمران نٿي چاهيو تہ بني اسرائيل مصر ڪان ٻاهر هليا وڃن.

حضرت موسيٰؑ شروع ۾ جڏهن فرعون ڪان اهو مطالبو ڪيو تہ بني اسرائيل کي مون سان گڏ مصر مان ٻاهر وڃڻ ڏي تہ فرعون ۽ اُن جي درٻارين اُن ڳالهہ کي سياسي رنگ ڏئي پاڻؑ تي اهو الزام لڳايو تہ هو قبطي قوم کي مصر مان ڪڍڻ چاهي ٿو (١١٠). اِها ڳالهہ سراسر بي معنيٰ هئي، ڇاڪاڻ تہ حضرت موسيٰؑ جو منصوبو تہ پاڻ کي مصر ڪان ٻاهر وٺي وڃڻ جو هو ۽ فرعون اهو الٽو الزام لڳايو تہ موسيٰؑ قبطين کي انهن جي ملڪ مان ٻاهر ڪڍڻ چاهي ٿو. اُن وقت فرعون ۽ سندس ساٿي اقتدار جي گهمنڊ ۾ هئا. اُن ڪري سڌي ڳالهہ بہ انهن کي ٽيڙي نظر آئي.

پر پوءِ خدا فرعون ۽ سندس قوم تي هر طرح جون مصيبتون نازل ڪيون. انهن تي ڪيترائي سال ڏڪار پيو. وچ ۾ گجگوڙ سان ڳڙا وسائيندڙ طوفان، مڪڙن جا لشڪر جيڪي فصل ۽ باغ ڪائي ويا ۽ هر قسم جي ساوڪ جو خاتمو ڪري ڇڏيو. جون ۽ ڏيڏر ايترا گهڻا ٿي ويا جو ڪپڙن ۽ بسترن ۾ رڳو جوئون ئي جوئون هيون ۽ گهرن ۽ رستن تي هر هنڌ ڏيڏر ئي ڏيڏر ٿي ويا. دريائن ۽ تلائن جو پاڻي رت ٿي ويو. فرعون ۽ ان جي قوم جڏهن هِن عجيب و غريب مصيبتن ۾ مبتلا ٿي تہ انهن چئي ڏنو تہ خدا جيڪڏهن انهن مصيبتن کي اسان کان هٽائي ڇڏي تہ اسان بني اسرائيل کي موسيٰ سان گڏ وڃڻ ڏينداسون. حضرت موسيٰؑ جي جنهن مطالبي ۾ پهرين قبطين کي پنهنجي خلاف ملڪ مان ڪڍڻ جي سياسي سازش ڏسڻ ۾ پئي آئي، اُها هاڻي خود بني اسرائيل جي هجرت جي هم معنيٰ نظر اچڻ لڳي.

ماڻهو خود کي محفوظ حالت ۾ ڏسي ٿو تہ هُو قسمين قسمين ڳالهيون ناهيندو آهي، پر جڏهن ان کان حفاظت کسي وڃي ۽ ان کي عاجزي ۽ بيوسيءَ جي مقام تي ڪڙو ڪيو وڃي تہ اچانڪ هو حقيقت پسند بڻجي ويندو آهي. هاڻي اُها ڳالهہ ڪيس سمجهہ ۾ اچي وڃي ٿي، جيڪا اڳ ۾ سمجهائڻ جي باوجود بہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آئي، پر انڪار جي طاقت رکندي اقرار ڪرڻ جو نالو اقرار آهي. لفظ ڪسجي وڃڻ ڪانپوءِ ڪو اقرار، اقرار نہ هوندو آهي.

فَانۡتَقَمۡنَا مِنۡهُمۡ فَاَغۡرَقۡنٰهُمۡ فِي الۡيَمِّ بِاَنَّهُمۡ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا وَ كَانُوۡا عَنۡهَا غٰفِلِيۡنَ ﴿١٣٦﴾ وَ اَوۡرَثۡنَا الۡقَوۡمَ الَّذِيۡنَ كَانُوۡا يُسۡتَضۡعَفُوۡنَ مَشَارِقَ الۡاَرۡضِ وَ مَغَارِبَهَا الَّتِيۡ بٰرَكۡنَا فِيۡهَا ؕ وَ تَمَّتۡ كَلِمَتُ رَبِّكَ الۡحُسۡنٰى عَلٰى بَنِيۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ ۙ۬ بِمَا صَبَرُوۡا ؕ وَ دَمَّرۡنَا مَا كَانَ يَصۡنَعُ فِرۡعَوۡنُ وَ قَوۡمُهٗ وَ مَا كَانُوۡا يَعۡرِشُوۡنَ ﴿١٣٧﴾

پوءِ اسان انهن کي سزا ڏني ۽ انهن کي سمنڊ ۾ غرق ڪري ڇڏيو، ڇاڪاڻ تہ انهن اسان جي نشانين کي ڪوڙو ڄاتو ۽ انهن کان بي پرواهہ ٿي ويا. ۽ جيڪي ماڻهو ڪمزور سمجهيا ويندا هئا، انهن کي اسان اُن سرزمين جي اوڀر ۽ اولهہ جو وارث بڻائي ڇڏيو جنهن ۾ اسان برڪت رکي هئي. ۽ بني اسرائيل تي تنهنجي رب جو سهڻو واعدو پورو ٿي ويو، ان سبب جي ڪري جو انهن صبر ڪيو ۽ اسان فرعون ۽ ان جي قوم جو اهو سڀ ڪجهہ برباد ڪري ڇڏيو جيڪو اُهي ٺاهيندا هئا ۽ جيڪي انهن بلند اڏاوتون ڪيون. ١٣٦-١٣٧

---

نبين جي مخاطب قومن تي جيڪو عذاب ايندو آهي، اُهو آيتن کي ڪوڙو ڪرڻ جي ڪري

ايندو آهي. يعني نشانين کي ڪوڙو سمجهڻ. ان جي مقابلي ۾ نبين جي ساٿين تي جيڪا خاص مدد نازل ٿيندي آهي، ان جو استحقاق انهن کي صبر جي ڪري حاصل ٿيندو آهي. يعني پنهنجن جذبن کي روڪي الله جي طريقي تي ثابت قدم رهڻ سان.

نشانين مان مراد اُهي دليل آهن جيڪي حق کي حق ثابت ڪرڻ وارا هوندا آهن. پر ماڻهو پنهنجي تڪبر واري نفسيات جي ڪري انهن کي مڃڻ تي قادر نہ ٿو ٿئي. هو دليل جي معاملي کي دليل پيش ڪرڻ واري جو معاملو بڻائي ڇڏيندو آهي. هو سمجهي ٿو تہ جيڪڏهن مون اِهو دليل مڃي ورتو تہ فلاڻي ماڻهوءَ جي مقابلي ۾ منهنجو مرتبو گهٽجي ويندو. هو دليل پيش ڪرڻ واري جي مقابلي ۾ خود کي مٿانهون رکڻ جي خاطر دليل کي تسليم نہ ٿو ڪري. پر اِهو ئي انسان جي آزمائش جو اصل مقام آهي. موجوده دنيا ۾ خدا نشانين يا دليلن جي پردي ۾ ظاهر ٿيندو آهي، آخرت ۾ هُو بي حجاب ٿي ظاهر ٿي ويندو. پر ايمان اُهوئي معتبر آهي، جڏهن تہ ماڻهو پردي داري سان گڏ ظاهر ٿيڻ واري حق کي سڃاڻي وٺي. بي حجابي سان ظاهر ٿيڻ واري حق کي مڃڻ رڳو ماڻهوءَ جي جرم کي ثابت ڪندو، نہ وري اُهو ان کي انعام جو مستحق بڻائيندو. اهڙو اقرار صرف ان ڳالھ جو ثبوت هوندو تہ ماڻهو پنهنجي بي پرواهي جي ڪري حق کي نہ سمجهيو. جيڪڏهن هُو ان جي باري ۾ سنجيده هجي ها تہ يقيناً هُو ان کي ڄاڻي وٺي ها.

ان جي مقابلي ۾ خدا جا وفادار ٻانها آهن، جن جي سڀ کان پڏري خاصيت صبر آهي. حقيقت اِها آهي تہ ايمان جي زندگي سراسر صبر جي زندگي آهي. پاڻ جهڙي هڪ انسان جي زبان مان حق جو اعلان ٻڌي ان کي مڃي وٺڻ، عادتن ۽ مصلحتن تي قائم زندگي کي حق ۽ اصول جي بنياد تي قائم ڪرڻ، ماڻهن جي طرفان پيش اچڻ وارين ايذائن کي خدا جي خاطر نظر انداز ڪرڻ، حق جي مخالفن طرفان آيل مصيبتن تي بي همت نہ ٿيڻ، اِهي سڀ ايمان جا لازمي مرحلا آهن ۽ ماڻهو صبر جي بغير انهن مرحلن مان ڪاميابي سان گذري نہ ٿو سگهي.

فرعون کي پنهنجي اقتدار ۽ پنهنجن باغن ۽ عمارتن تي تڪبر هو. حضرت موسيٰؑ جي هجرت کانپوءِ فرعون ۽ ان جو لشڪر سمنڊ ۾ غرق ڪيو ويو. ٻڙن ۽ مڪڙن مصر جي سرسبز باغن کي اجاڙي ڇڏيو ۽ زلزلن انهن جون شاندار عمارتون ڍاهي پٽ ڪري ڇڏيون. ٻئي طرف حضرت موسيٰؑ جي ڪجھ نسلن کانپوءِ حضرت دائودؑ ۽ حضرت سليمانؑ جي زماني ۾ بني اسرائيل مصر جي طرف (شام ۽ فلسطين) تي قابض ٿي ويا. نشانين کي ڪوڙو ڪرڻ وارا هميشہ خدا جي غضب جا مستحق هوندا آهن ۽ صبر ڪرڻ وارا هميشہ خدا جي مدد جا.

وَ جٰوَزۡنَا بِبَنِیۡۤ اِسۡرَآءِیۡلَ الۡبَحۡرَ فَاَتَوۡا عَلٰی قَوۡمٍ یَّعۡکُفُوۡنَ عَلٰۤی اَصۡنَامٍ لَّہُمۡ ۚ قَالُوۡا
یٰمُوۡسَی اجۡعَلۡ لَّنَاۤ اِلٰـہًا کَمَا لَہُمۡ اٰلِـہَۃٌ ؕ قَالَ اِنَّکُمۡ قَوۡمٌ تَجۡہَلُوۡنَ ﴿۱۳۸﴾ اِنَّ ہٰۤؤُلَآءِ مُتَبَّرٌ مَّا
ہُمۡ فِیۡہِ وَ بٰطِلٌ مَّا کَانُوۡا یَعۡمَلُوۡنَ ﴿۱۳۹﴾ قَالَ اَغَیۡرَ اللّٰہِ اَبۡغِیۡکُمۡ اِلٰـہًا وَّ ہُوَ فَضَّلَکُمۡ عَلَی
الۡعٰلَمِیۡنَ ﴿۱۴۰﴾ وَ اِذۡ اَنۡجَیۡنٰکُمۡ مِّنۡ اٰلِ فِرۡعَوۡنَ یَسُوۡمُوۡنَکُمۡ سُوۡٓءَ الۡعَذَابِ ۚ یُقَتِّلُوۡنَ

ع ١٦ ١٢ ٦ اَبۡنَآءَكُمۡ وَيَسۡتَحۡيُوۡنَ نِسَآءَكُمۡ ؕ وَفِيۡ ذٰلِكُمۡ بَلَآءٌ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ عَظِيۡمٌ ﴿١٤١﴾

۽ اسان بني اسرائيل کي سمنڊ مان پار لنگهايو، پوءِ انهن جو گذر هڪ اهڙي قوم وٽان ٿيو جيڪي پنهنجن بتن جي پوڄا ۾ لڳل هئا. انهن چيو اي موسيٰ! اسان جي عبادت جي لاءِ به هڪ بت ٺاهي ڇڏ جيئن انهن جا بت آهن. موسيٰ چيو توهان وڏا جاهل ماڻهو آهيو. اِهي ماڻهو جنهن ڪم ۾ لڳل آهن، اُهو برباد ٿيڻ وارو آهي ۽ اِهي جيڪو ڪجهه ڪري رهيا آهن اِهو باطل آهي. ان چيو ڇا آئون الله کانسواءِ ڪو ٻيو معبود توهان جي لاءِ تلاش ڪريان، حالانڪ ان توهان کي سڀني جهان وارن تي فضيلت ڏني آهي. ۽ جڏهن اسان فرعون وارن کان توهان کي نجات ڏني جيڪي توهان کي سخت عذاب ڏيندا هئا. توهان جي پٽن کي قتل ڪندا هئا ۽ توهان جي عورتن کي زنده رهڻ ڏيندا هئا ۽ ان ۾ توهان جي رب طرفان توهان جي وڏي آزمائش هئي. ١٣٨-١٤١

---

بني اسرائيل بحر احمر جي اترين ڪنڌ کي پار ڪري جزيره نما سينا ۾ پهتا. پوءِ اتر کان ڏکڻ طرف سمنڊ جي ڪناري پنهنجو سفر شروع ڪيو. ان وچ ۾ ڪنهن مقام تان لنگهندي بني اسرائيل هڪ قوم کي ڏٺو ته اُهي بتن جي پوڄا ۾ مشغول آهن. ان وقت بني اسرائيل جي ڪجهه ماڻهن (نڪي سيئي بني اسرائيل) اِهو تقاضو ڪيو ته انهن جي لاءِ هڪ بت ٺاهيو وڃي.

ماڻهوءَ جي سيني کان وڏي ڪمزوري ظاهر پرستي آهي. هو غيب ۾ لڪيل خدا تي پنهنجو ذهن پوري طرح ڄمائي نه ٿو سگهي، ان ڪري هُو ڪنهن نه ڪنهن ظاهري شيءِ ۾ اٽڪي ٿو وڃي. ڪجهه بي شعور ماڻهو پٿر ۽ لوهه جي ٺهيل بتن جي اڳيان جهڪندا آهن ۽ جيڪي ماڻهو وڌيڪ مهذب آهن، اهي ڪنهن شخصيت، ڪنهن قوم يا ڪنهن تمدني ڍانچي کي پنهنجي توجهه جو مرڪز بڻائي وٺندا آهن.

بني اسرائيل جي ڪجهه فردن جڏهن حضرت موسيٰؑ کان بت ٺاهڻ جي فرمائش ڪئي ته پاڻؑ فرمايو اِهي ماڻهو جنهن ڪم ۾ لڳل آهن، اُهوسڀ برباد ٿيڻ وارو آهي. يعني اسان جو مشن ته اِهو آهي ته اسان انهن ظاهري خدائن کي ٽوڙي ختم ڪيون ۽ ماڻهن کي پوري طرح صرف هڪ خدا جو پرستار بڻايون. پوءِ ڪيئن ممڪن آهي ته اسان خود ئي اهڙي قسم جو هڪ ظاهري خدا پنهنجي لاءِ گهڙي وٺون.

”بني اسرائيل کي سڀني جهان وارن تي فضيلت ڏني“ مان مراد ڪنهن قسم جي نسلي فضيلت نه آهي، بلڪ منصبي فضيلت آهي. اِها هِن ئي معنيٰ ۾ آهي جنهن ۾ امتِ محمدي جي باري ۾ چيو ويو آهي ته ”توهان خير امت آهيو“. الله جي سنت اِها آهي ته هُو ڪنهن جماعت کي پنهنجي ڪتاب جو حامل بڻائي ٿو ۽ ان جي ذريعي ٻين قومن تائين پنهنجو پيغام پهچائي ٿو. قديم زماني ۾ اهو منصب بني اسرائيل جي يهودين کي حاصل هو. ختم نبوت کان پوءِ اهو منصب امت محمدي کي ڏنو ويو آهي.

فرعون کي اِهو موقعو ملڻ ته هُو بني اسرائيل تي ظلم ڪري. اِها بني اسرائيل جي لاءِ آزمائش هئي نه وري عذاب. اهڙي آزمائش ان لاءِ هوندي آهي ته اهل ايمان کي لوڏي بيدار ڪيو وڃي. اِهو معلوم ڪجي ته ڪير مشڪل حالتن ۾ خدا جي دين کان ڦري ٿو وڃي ۽ ڪير آهي جو صبر جي حد تائين خدا جي دين تي قائم رهڻ وارو آهي.

وَ وٰعَدۡنَا مُوۡسٰى ثَلٰثِيۡنَ لَيۡلَةً وَّ اَتۡمَمۡنٰهَا بِعَشۡرٍ فَتَمَّ مِيۡقَاتُ رَبِّهٖۤ اَرۡبَعِيۡنَ لَيۡلَةً ۚ وَ قَالَ

مُوۡسٰى لِاَخِيۡهِ هٰرُوۡنَ اخۡلُفۡنِيۡ فِيۡ قَوۡمِيۡ وَ اَصۡلِحۡ وَ لَا تَتَّبِعۡ سَبِيۡلَ الۡمُفۡسِدِيۡنَ ﴿١٤٢﴾ وَ لَمَّا
جَآءَ مُوۡسٰى لِمِيۡقَاتِنَا وَ كَلَّمَهٗ رَبُّهٗ ۙ قَالَ رَبِّ اَرِنِيۡۤ اَنۡظُرۡ اِلَيۡكَ ؕ قَالَ لَنۡ تَرٰىنِيۡ وَ لٰكِنِ
انۡظُرۡ اِلَى الۡجَبَلِ فَاِنِ اسۡتَقَرَّ مَكَانَهٗ فَسَوۡفَ تَرٰىنِيۡ ۚ فَلَمَّا تَجَلّٰى رَبُّهٗ لِلۡجَبَلِ جَعَلَهٗ دَكًّا
وَّ خَرَّ مُوۡسٰى صَعِقًا ۚ فَلَمَّاۤ اَفَاقَ قَالَ سُبۡحٰنَكَ تُبۡتُ اِلَيۡكَ وَ اَنَا اَوَّلُ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿١٤٣﴾

۽ اسان موسىٰ سان ٽيهن راتين جو وعدو ڪيو ۽ اُن کي پورو ڪيو ڏهه وڌيڪ راتين سان تہ اُن جي رب جو مقرر وقت چاليهن راتين ۾ پورو ٿيو. ۽ موسىٰ پنهنجي ڀاءُ هارون کي چيو منهنجي پويان تون منهنجي قوم ۾ منهنجي جانشيني ڪجانءِ، اصلاح ڪندو رهجانءِ ۽ فساد ڪندڙن جي طريقي تي نہ هلجان. ۽ جڏهن موسىٰ اسان جي مقرر ڪيل وقت تي پهتو ۽ ان جي رب ان سان ڪلام ڪيو تہ ان چيو مون کي پاڻ کي ڏيکار تہ آئون تنهنجو ديدار ڪيان. فرمايو ويو تہ تون مون کي هرگز ڏسي نہ سگهندين. پر جبل ڏانهن نظر ڪر، جيڪڏهن اُهو پنهنجي جاءِ تي قائم رهجي ويو تہ تون بہ مون کي ڏسي سگهندين. پوءِ جڏهن ان جي رب جبل تي پنهنجي تجلي وڌي تہ ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيائين. ۽ موسىٰ بيهوش ٿي ڪري پيو. پوءِ جڏهن هوش آيو تہ چيائين تون پاڪ آهين. آئون توڏانهن رجوع ڪريان ٿو ۽ آئون سڀني کان پهرين ايمان آڻڻ وارو آهيان. ١٤٢-١٤٣

---

حضرت هارون عليه السلام موسىٰ عليه السلام جو وڏو ڀاءُ هو. حضرت موسىٰ عليه السلام جي عمر اُن کان ٽي سال گهٽ هئي. پر نبوت اصل ۾ حضرت موسىٰ عليه السلام کي ملي ۽ حضرت هارون عليه السلام ان سان گڏ رڳو مددگار جي حيثيت سان شريڪ ڪيا ويا. ان مان اندازو ٿيندو آهي تہ ديني عُهدن جي تقسيم ۾ اصل اهميت قابليت جي آهي نہ وري عمر يا اهڙي قسم جي ٻين اضافي شين جي.

حضرت موسىٰ عليه السلام کي مصر ۾ دعوتي احڪام ڏنا ويا هئا ۽ سينا جي رڻ ۾ پهچڻ کانپوءِ جبل تي سڄي قانوني احڪام ڏنا ويا. ان مان خدائي احڪام جي ترتيب معلوم ٿيندي آهي. عام حالتن ۾ خدا پرستن کان جيڪا شيءِ مطلوب آهي، اُها اِها تہ اُهي ذاتي زندگي کي درست ڪن ۽ خدا جا پرستار بڻجي رهن، ان سان گڏ ٻين کي بہ توحيد ۽ آخرت ڏانهن سڏين. پر جڏهن اهل ايمان آزاد ۽ با اختيار جماعت جي حيثيت حاصل ڪري وٺن، جيئن تہ سينا جي رڻ ۾ بني اسرائيل هئا تہ انهن تي اِهو فرض بہ لاڳو ٿي ويندو آهي تہ پنهنجي اجتماعي زندگي کي شرعي قانونن جي بنياد تي قائم ڪن.

حضرت موسىٰ عليه السلام پنهنجي غير موجودگي جي ڪري جڏهن حضرت هارون عليه السلام کي بني اسرائيل جو نگران بڻايو تہ فرمايائين تہ اَصۡلِحۡ ولا تتبع سبيل المفسدين (١٤٢) اُن مان معلوم ٿيندو آهي تہ اجتماعي سربراهہ جي لاءِ پنهنجن ذميدارين کي ادا ڪرڻ جو بنيادي اصول ٻہ آهي. اُهو اِهو آهي تہ "اصلاح" ۽ فسادين جي پيروي نہ ڪرڻ. اصلاح مان مراد اِها آهي تہ مختلف ماڻهن جي وچ ۾ انصاف جو توازن ڪنهن بہ حال ۾ ٽٽڻ نہ ڏنو وڃي. هر هڪ کي اُهو ئي ملي جيڪو ان کي عدل جي لحاظ کان ملڻ کپي ۽ هر هڪ کان اُهو ئي کسيو وڃي جيڪو عدل جي لحاظ کان ان کان کسڻ کپي. هن اصلاحي عمل ۾ گهٽتو ڪري خرابي ان وقت پيدا ٿيندي آهي، جڏهن سردار "مفسدن" جي پيروي ڪرڻ لڳي. اِها پيروي ڪڏهن هِن شڪل ۾ هوندي آهي تہ ان جا ويجها ماڻهو پنهنجن ذاتي غرضن جي ڪري جيڪو

ڪجهہ چون، هو ان ڪي ميچي ونئي ۽ ڪڏهن اهڙي طرح ٿيندي آهي جو مفسدن جي طاقت ڪان خوفزده ٿي ڪري اُهو خاموشي اختيار ڪري وٺي.

حضرت موسيٰ عليه السلام خدا ڪي ڏسڻ چاهيو ۽ جڏهن معلوم ٿيو تہ خدا ڪي ڏسڻ ممڪن نہ آهي تہ انهن توبهہ ڪئي ۽ بغير ڏٺي ايمان جو اقرار ڪيو. انسان جو امتحان اِهو آهي تہ هُو بنا ڏٺي خدا ڪي مڃي. خدا ڪي ڏسڻ آخرت جو هڪ انعام آهي، پوءِ اُهو موجوده دنيا ۾ ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو.

قَالَ يٰمُوْسٰٓى اِنِّى اصْطَفَيْتُكَ عَلَى النَّاسِ بِرِسٰلٰتِىْ وَبِكَلَامِىْ ۖ فَخُذْ مَآ اٰتَيْتُكَ وَكُنْ مِّنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿١٤٤﴾ وَكَتَبْنَا لَهٗ فِى الْاَلْوَاحِ مِنْ كُلِّ شَىْءٍ مَّوْعِظَةً وَّتَفْصِيْلًا لِّكُلِّ شَىْءٍ ۚ فَخُذْهَا بِقُوَّةٍ وَّاْمُرْ قَوْمَكَ يَاْخُذُوْا بِاَحْسَنِهَا ۗ سَاُورِيْكُمْ دَارَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿١٤٥﴾

الله فرمايو اي موسيٰ! مون توکي ماڻهن تي پنهنجي پيغمبري ۽ پنهنجي ڪلام جي ذريعي پلارو ڪيو. پوءِ توکي جيڪو ڪجهہ ڏنو اٿم ان ڪي وٺ ۽ شڪر گذارن مان ٿي. ۽ اسان ان جي لاءِ تختين تي هر قسم جي نصيحت ۽ هر شيءِ جو تفصيل لکي ڇڏيو. پوءِ ان ڪي مضبوطي سان پڪڙ ۽ پنهنجي قوم ڪي حڪم ڏي تہ هِن جي چڱين ڳالهين جي پيروي ڪن. عنقريب آئون توهان ڪي نافرمانن جو گهر ڏيکاريندس. ١٤٤-١٤٥

---

حضرت موسيٰ عليه السلام ڪي پهريون پيرو نبوت جبل تي ملي هئي ۽ ٻئي پيري بہ توريت جا احڪام انهن ڪي جبل تي سڏي ڏنا ويا. اِهو هِن ڳالهہ ڏانهن اشارو آهي تہ خدا جو فيض حاصل ڪرڻ جي سيني ڪان زياده مناسب جاءِ فطرت جو ماحول آهي، نہ وري انساني آبادين جو ماحول. انسانن جي شور شرابي واري دنيا مان نڪري ماڻهو جڏهن پٿرن ۽ وڻن جي خاموش دنيا ۾ پهچندو آهي تہ هُو پنهنجي پاڻ ڪي خدا جي قريب محسوس ڪرڻ لڳندو آهي. هُو مصنوعي احساسن ڪان خالي ٿي پنهنجي فطري حالت تي پهچي ويندو آهي. اِهو ڪنهن ماڻهو لاءِ بهترين لمحو هوندو آهي جڏهن هُو خالص فطري انداز ۾ سوچي ۽ هڪ پاسي ٿي پنهنجي رب سان جڙي سگهي.

پيغمبر عام انسانن وانگر هڪ انسان هوندو آهي. هو ڪنهن بہ لحاظ ڪان غير انساني مخلوق نہ هوندو آهي. اُن جي خصوصيت صرف اها هوندي آهي جو هو پنهنجي پيدائشي قابليت ۽ فطرت ڪي محفوظ رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي. اُن ڪري خدا ان ڪي چونڊي ٿو تہ هو اُن جي پيغام جو حامل بڻجي ۽ ماڻهن جي وچ ۾ اُن جي اعتماد جوڳي نمائندگي ڪري. حضرت موسيٰ عليه السلام اُن وقت پنهنجي قوم جا بهترين شخص هئا. اُن ڪري خدا اُن ڪي پنهنجو پيغمبر چونڊيو ۽ اُن تي پنهنجو ڪلام نازل ڪيو.

خدا جي ڪلام ۾ جيتوڻيڪ هدايت جي متعلق هر قسم جو ضروري تفصيل موجود هوندو آهي، پر اُها لفظن ۾ هوندي آهي ۽ موجوده امتحاني دنيا ۾ بهرحال اُن جو امڪان باقي رهي ٿو تہ ماڻهو انهن لفظن جي غلط تشريح ڪري انهن ڪي غلط معنيٰ ڏئي ڇڏي، پر جيڪو ماڻهو هدايت جي معاملي ۾ سنجيده هوندو ۽ خدا جي پڪڙ ڪان ڊڄندو هوندو، اُهو انهن لفظن مان اُهائي معنيٰ وٺندو، جيڪا ڪلام الٰهي جي شان مطابق آهي نہ وري اُها جيڪا اُن جي نفس ڪي پسند هجي.

”آئون عنقريب توهان کي نافرمانن جو گهر ڏيکاريندس“ يعني پنهنجي هِن سفر ۾ اڳيان هلي ڪري توهان انهن قومن جي کنڊرن تان لنگهندؤ جن کي توهان کان پهرين خدا جي هدايت ڏني وئي هئي، پر اُهي اُن کي مضبوطي سان پڪڙڻ ۾ ناڪام ثابت ٿيا. حالتن جي دٻاءَ يا جذبن جي لاڙي کي نظر انداز ڪري اُهي اُن تي نيڪ طرح قائم نہ رهي سگهيا. تنهن ڪري انهن جو انجام اِهو ٿيو جو اُنهن کي هلاڪ ڪيو ويو. جيڪڏهن توهان ايئن ڪيو تہ توهان جو انجام بہ دنيا ۽ آخرت ۾ اُهوئي ٿيندو، جيڪو گذريل قومن جو ٿيو آهي. خدا جو معاملو جهڙو هڪ قوم سان آهي، اُهڙو ئي معاملو ٻيءَ قوم سان آهي. عدل الٰهي جي ميزان ۾ هڪ قوم ۽ ٻيءَ قوم جي وچ ۾ ڪو بہ فرق نہ آهي.

هن دنيا ۾ اِهو موقعو آهي تہ ماڻهو پنهنجي هٿ ٺوڪيل تشريح سان خدا جي پڌري ڪلام جو ڪو ٻُرو مفهوم ڪڍي وٺي. پر اِها اهڙي جسارت آهي جيڪا فرمانبرداري جي دعوىٰ ڪرڻ واري کي بہ نافرمانن جي فهرست ۾ شامل ڪري ڇڏيندي آهي.

سَاَصۡرِفُ عَنۡ اٰيٰتِيَ الَّذِيۡنَ يَتَكَبَّرُوۡنَ فِي الۡاَرۡضِ بِغَيۡرِ الۡحَقِّ ؕ وَ اِنۡ يَّرَوۡا كُلَّ اٰيَةٍ لَّا يُؤۡمِنُوۡا بِهَا ۚ وَ اِنۡ يَّرَوۡا سَبِيۡلَ الرُّشۡدِ لَا يَتَّخِذُوۡهُ سَبِيۡلًا ۚ وَ اِنۡ يَّرَوۡا سَبِيۡلَ الۡغَيِّ يَتَّخِذُوۡهُ سَبِيۡلًا ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا وَ كَانُوۡا عَنۡهَا غٰفِلِيۡنَ ﴿١٤٦﴾ وَ الَّذِيۡنَ كَذَّبُوۡا
ع ١٧ بِاٰيٰتِنَا وَ لِقَآءِ الۡاٰخِرَةِ حَبِطَتۡ اَعۡمَالُهُمۡ ؕ هَلۡ يُجۡزَوۡنَ اِلَّا مَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿١٤٧﴾

آئون پنهنجن نشانين کان انهن ماڻهن کي ڦيري ڇڏيندس جيڪي زمين ۾ ناحق تڪبر ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن اُهي هر قسم جون نشانيون ڏسي وٺن، تڏهن بہ انهن تي ايمان نہ آڻيندا ۽ جيڪڏهن هُو هدايت جو رستو ڏسن تہ ان کي نہ اپنائيندا ۽ جيڪڏهن گمراهيءَ جو رستو ڏسن تہ ان کي اپنائي وٺندا. اِهو ان ڪري آهي جو انهن اسان جي نشانين کي ڪوڙو ڀانئيو ۽ انهن کان پاڻ کي غافل رکيو. ۽ جن اسان جي نشانين کي ۽ آخرت جي ملاقات کي ڪوڙو ڀانئيو، انهن جا عمل برباد ٿي ويا ۽ انهن کي بدلي ۾ اهو ئي ڪجهہ ملندو جيڪي هُو ڪندا هئا. ١٤٦-١٤٧

---

دنيا ۾ زندگي گذارڻ جون بہ صورتون آهن. هڪ اِها تہ ماڻهو پنهنجن اکين ۽ ڪنن کي کليل رکيو هجي. هُو شين کي انهن جي اصلي رنگ ۾ ڏسندو ۽ ٻڌندو هجي. اهڙي ماڻهو جي سامهون جڏهن حق ايندو تہ هو ان کي سچائي وٺندو. دنيا ۾ پکڙيل خدا جون نشانيون اُن کي جيڪو سبق ڏينديون، هو اُنهن کي سمجهي ويندو. ٻي صورت اِها آهي تہ ماڻهو تڪبر واري نفسيات ۾ جي رهيو هجي. هُو زمين تي اهڙي طرح رهندو هجي جڻ هُو ان جو مالڪ آهي، ان کي پنهنجن ذاتي خواهشن ڪانسواءِ ڪنهن ٻي شيءِ جي پرواهہ نہ هجي. هو سمجهندو هجي تہ هِتي جيڪو ڪجهہ هن کي مليل رهيو آهي سو سندس قابليت جي ڪري مليل رهيو آهي. ڪيس مليل شين ۾ هن کي ڪنهن ٻئي جي مرضي جو لحاظ ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي. اهڙي ماڻهو جو تڪبر ان جي لاءِ حق کي قبول ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي ويندو آهي.

پهرين قسم جي ماڻهو جي نفسيات نصيحت وٺڻ واري نفسيات هوندي آهي. هو پنهنجي کليل ذهن جي ڪري خدا جي هر هڪ اشاري کي پڙهي ٿو وٺي ۽ فورًا پاڻ کي اُن جي مطابق بدلائي ٿو وٺي. ان

جي ابتڙ ٻي قسم جي ماڻهو جي نفسيات بي نيازي جي نفسيات هوندي آهي. ان جي سامهون حق جا دليل ايندا آهن، پر هو انهن کي غير اهم سمجهي نظر انداز ڪري ڇڏيندو آهي. ان جي سامهون قدرت خاموش زبان ۾ پنهنجو نغمو ٻڌائي ٿي، پر هو ان تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت نه ٿو سمجهي. اُن کي پنهنجي ذات کان ٻاهر ڪنهن سچائي جي طرف لاڙو نه هوندو آهي. موت ڪانپوءِ اچڻ واري دنيا صرف پهرين قسم جي ماڻهن لاءِ آهي. ٻئي قسم جا ماڻهو خدا جي هميشه واري دنيا ۾ اهڙي طرح نظر انداز ڪيا ويندا، جهڙي طرح موجوده امتحان جي دنيا ۾ اُنهن خدا جي ڳالهه کي نظر انداز ڪيو هو.

گمراهيءَ جو رستو نفس کي اپارينداڙ سببن جي ڪري ٺهي ٿو ۽ هدايت جو رستو اهو آهي جيڪو نفس ۽ ماحول جي اثرن کان مٿانهون ٿي ڪري خالص خدا جي ڪري وجود ۾ ايندو آهي. جيڪي ماڻهو پنهنجي ذات جي سطح تي جي رهيا آهن جيڪي رڳو پنهنجي نفس جي اندر پيدا ٿيندڙ خواهشن کي ڄاڻندا هجن، اُهي گمراهي جي رستي کي پنهنجي شيءِ سمجهي ان ڏانهن ڊوڙي پوندا. هدايت جو رستو انهن کي سندس مزاج جي لحاظ کان اجنبي ڏسڻ ۾ ايندو. ان ڪري هُو ان ڏانهن وڌڻ ۾ به ناڪام ثابت ٿيندا.

وڏائي جي نفسيات ان شيءِ کي آسانيءَ سان قبول ڪري وٺندي آهي جنهن ۾ ان جي وڏائي قائم رهي ۽ جتي ان جي وڏائي متاثر ٿيندي هجي اتي ان کي ان شيءِ سان ڪا دلچسپي نه هوندي آهي.

وَ اتَّخَذَ قَوۡمُ مُوۡسٰی مِنۡۢ بَعۡدِهٖ مِنۡ حُلِیِّهِمۡ عِجۡلًا جَسَدًا لَّهٗ خُوَارٌ ؕ اَلَمۡ یَرَوۡا اَنَّهٗ لَا
قف لازم یُکَلِّمُهُمۡ وَ لَا یَهۡدِیۡهِمۡ سَبِیۡلًا ۘ اِتَّخَذُوۡهُ وَ کَانُوۡا ظٰلِمِیۡنَ ﴿۱۴۸﴾ وَ لَمَّا سُقِطَ فِیۡۤ اَیۡدِیۡهِمۡ وَ
رَاَوۡا اَنَّهُمۡ قَدۡ ضَلُّوۡا ۙ قَالُوۡا لَئِنۡ لَّمۡ یَرۡحَمۡنَا رَبُّنَا وَ یَغۡفِرۡ لَنَا لَنَکُوۡنَنَّ مِنَ
الۡخٰسِرِیۡنَ ﴿۱۴۹﴾ وَ لَمَّا رَجَعَ مُوۡسٰۤی اِلٰی قَوۡمِهٖ غَضۡبَانَ اَسِفًا ۙ قَالَ بِئۡسَمَا خَلَفۡتُمُوۡنِیۡ مِنۡۢ
بَعۡدِیۡ ۚ اَعَجِلۡتُمۡ اَمۡرَ رَبِّکُمۡ ۚ وَ اَلۡقَی الۡاَلۡوَاحَ وَ اَخَذَ بِرَاۡسِ اَخِیۡهِ یَجُرُّهٗۤ اِلَیۡهِ ؕ قَالَ
ابۡنَ اُمَّ اِنَّ الۡقَوۡمَ اسۡتَضۡعَفُوۡنِیۡ وَ کَادُوۡا یَقۡتُلُوۡنَنِیۡ ۫ۖ فَلَا تُشۡمِتۡ بِیَ الۡاَعۡدَآءَ وَ لَا
تَجۡعَلۡنِیۡ مَعَ الۡقَوۡمِ الظّٰلِمِیۡنَ ﴿۱۵۰﴾ قَالَ رَبِّ اغۡفِرۡ لِیۡ وَ لِاَخِیۡ وَ اَدۡخِلۡنَا فِیۡ رَحۡمَتِکَ ۫ۖ وَ اَنۡتَ
ع ١٨ ٨ اَرۡحَمُ الرّٰحِمِیۡنَ ﴿۱۵۱﴾

۽ موسيٰ جي قوم ان جي پويان پنهنجن زيورن مان هڪ ڳابو ٺاهيو، هڪ ڌڙ جنهن مان ڏڳي جي رنڀ جو آواز نڪتو ٿي. ڇا انهن نه ڏٺو ته هُو نه انهن سان ڳالهائي ٿو ۽ نه ئي ڪا راهه ڏيکاري ٿو. ان کي انهن معبود بنائي ورتو ۽ اُهي وڏا ظالم هئا. ۽ جڏهن اُهي پشيمان ٿيا ۽ انهن محسوس ڪيو ته اُهي گمراهي ۾ پئجي ويا هئا ته انهن چيو، جيڪڏهن اسان جي رب اسان تي رحم نه ڪيو ۽ اسان کي نه بخشيو ته يقيناً اسان برباد ٿي وينداسون. ۽ جڏهن موسيٰ رنج ۽ ڪاوڙ سان پريل پنهنجي قوم ڏانهن موٽيو ته ان چيو توهان مون ڪانپوءِ منهنجي ڪيڏي نه بري نيابت ڪئي. ڇا توهان پنهنجي رب جي حڪم کان پهريائين جلدي ڪري ورتي. ۽ هن اُڇليون تختيون ۽ پنهنجي ڀاءُ کي مٿي کان وٺي ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لڳو. هارون چيو اي منهنجي ماءُ جا پٽ ماڻهن مون کي ڪمزور سمجهيو،

قريب هو تہ مون کي ماري ڇڏين ها. تنهن ڪري تون دشمنن کي منهنجي مٿان کلڻ جو موقعو نہ ڏي ۽ مون کي ظالمن سان گڏ شامل نہ ڪر. موسيٰ چيو اي منهنجا رب! مون کي ۽ منهنجي ڀاءُ کي معاف ڪري ڇڏ ۽ اسان کي پنهنجي رحمت ۾ داخل فرما ۽ تون سڀني کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو آهين. ١٤٨-١٥١

---

بني اسرائيل جي جماعت ۾ ان وقت سامري نالي هڪ وڏو چالاڪ ماڻهو هو. حضرت موسيٰ عليہ السلام جڏهن بني اسرائيل کي حضرت هارون عليہ السلام جي نگراني ۾ ڇڏي جبل تي هلي ويو تہ سامري ماڻهن کي ورغلايو. هُن ماڻهن جا زيور وٺي اُن مان ڳابي جي صورت جو هڪ بوتو ٺاهيو. بت ٺاهڻ جي قديم مصري فن جي مطابق ڳابي جي صورت اهڙي طرح ٺاهي وئي جو جڏهن بہ ان مان هوا گذرندي هئي تہ ان جي منهن مان ڏڳي جي رنڀ وانگر آواز نڪرندو هو. ماڻهو عام طور تي عجيب ۽ انوکيون شيون پسند ڪندا آهن. تنهن ڪري ان معمولي ڳالھ تي بہ گھڻائي ماڻهو شڪ ۾ پئجي ويا. ان جي باري ۾ خدائي تصور قائم ڪري ورتو. هڪ چالاڪ ماڻهو عوامي ڳالهيون ڪري ميڙن جا ميڙ پنهنجي چوطرف جمع ڪري ورتا. ان جو زور ايترو وڌيو تہ حضرت هارون عليہ السلام ۽ ان جي ڪجھ ساٿين ڪانسواءِ ڪو بہ احتجاج ڪرڻ وارو نہ رهيو. ظاهر آهي تہ جنهن عوامي طوفان ۾ پيغمبر جي نائب جو آواز دٻجي وڃي اُتي ڪير ڳالهائڻ جي جرائت ڪري سگھي ٿو.

عوام جو ذوق هر زماني ۾ اِهوئي رهيو آهي ۽ اڄ بہ اِهو پوري طرح موجود آهي. اڄ بہ هڪ هوشيار ماڻهو پنهنجن تقريرن ۽ تحريرن سان ڪنهن نہ ڪنهن ”رنڀ“ تي ماڻهن جا ميڙ جمع ڪري وٺندو آهي. ماڻهو اِهو نہ ٿا سوچن تہ جنهن شيءِ وٽ اُهي جمع ٿي رهيا آهن، اُهو رڳو هڪ تماشو آهي نہ وري ڪا حقيقت. ڪو سنجيده ماڻهو جيڪڏهن اُن تماشي جي حقيقت کي کولي ٿو تہ ان جو اُهو ئي انجام ٿيندو آهي جيڪو بني اسرائيل جي وچ ۾ حضرت هارون عليہ السلام جو ٿيو.

حضرت موسيٰ عليہ السلام جڏهن ڏٺو تہ بني اسرائيل مشرڪاڻي فعل ۾ مشغول آهن تہ انهن کي گمان ٿيو تہ حضرت هارون عليہ السلام اصلاح جي سلسلي ۾ ڪوتاهي ڪئي آهي. تنهن ڪري غصي ۾ انهن کي پڪڙي ورتو. پر جيئن ئي انهن ٻڌايو تہ انهن پنهنجي اصلاحي ڪوشش ۾ ڪا ڪمي نہ ڪئي هُئي تہ انهن جي بيان ڪانپوءِ فورًا رڪجي ويا ۽ پنهنجي لاءِ ۽ حضرت هارون عليہ السلام جي لاءِ خدا کان دعا گُهرڻ لڳا. هڪ مؤمن کي ٻئي مؤمن جي باري ۾ وڏي کان وڏي غلط فهمي ٿي سگھي ٿي، پر معاملي جي وضاحت ڪانپوءِ هو اهڙو ٿي ويندو آهي ڄڻ ان کي غلط فهمي پيدا ئي نہ ٿي هئي.

اِنَّ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوا الْعِجْلَ سَيَنَالُهُمْ غَضَبٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَ ذِلَّةٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ؕ وَ كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُفْتَرِيْنَ ﴿١٥٢﴾ وَ الَّذِيْنَ عَمِلُوا السَّيِّاٰتِ ثُمَّ تَابُوْا مِنْۢ بَعْدِهَا وَ اٰمَنُوْۤا ۫ اِنَّ رَبَّكَ مِنْۢ بَعْدِهَا لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٥٣﴾

بيشڪ جن ماڻهن ڳابي کي معبود بڻايو انهن کي انهن جي رب جو غضب پهچندو. ۽ دنيا جي زندگي ۾ ذلت ۽ اسان اهڙوئي بدلو ڏيندا آهيون ڪوڙ ٺاهيندڙن کي. ۽ جن ماڻهن بڇڙا ڪم ڪيا ان ڪانپوءِ توبھ ڪئي. ۽ ايمان آندائون تہ بيشڪ ان ڪانپوءِ تنهنجو رب بخشڻ وارو وڏو مهربان آهي. ١٥٢-١٥٣

---

بني اسرائيل جي گابي ٺاهڻ کي هِتي افتراءِ (ڪوڙ گهڙڻ) چيو ويو آهي. ايئن چو آهي؟ ان جو سبب اِهو آهي تہ انهن اِهو باطل ڪم حق جي نالي تي ڪيو هو. انهن اِهو ڪم خدا جي دين جي انڪار سبب نہ ڪيو هو، بلڪ خدا جي دين کي مڃيندي ڪيو هو. پنهنجي اُن بي ديني کي اُهي ديني لفظن ۾ بيان ڪندا هئا. مشرڪين جي عام عقيدي وانگر هو چوندا هئا تہ خدا انهن جي گهڙيل مورت ۾ (حلول) داخل ٿي ويو آهي. اُن ڪري هِن جي عبادت خود خدا جي عبادت جي هم معنيٰ آهي. اهڙي طرح ان فعل جي ليڊر سامري ان جي حق ۾ ڪشف ۽ ڪرامت جو دليل بہ تلاش ڪري ورتو. ان چيو مون خواب ۾ ڏٺو تہ جبرائيل عليه السلام آيا آهن ۽ مون انهن جي گهوڙي جي قدمن مان هڪ مُٺ مٽي کنئي آهي ۽ هڪ گابو بنائي ان جي اندر اِها مٽي وجهي ڇڏي تہ مقدس مٽيءَ جي برڪت سان اُهو گابو ڳالهائڻ لڳو. جڻ تہ سامري ۽ ان جا ساٿي خدا ڏانهن اِهڙي ڳالهہ منسوب ڪري رهيا هئا جيڪا خدا پاڻ نہ ٻڌائي هئي. اهڙي قسم جي نسبت افتراء (خدا تي ڪوڙ گهڙڻ) آهي. چاهي اُها هڪ صورت ۾ هجي يا ٻي صورت ۾.

ڪا دين جي حامل جماعت جڏهن اهڙي قسم جو ڪوڙ گهڙيندي آهي تہ اُها بي ديني جي فعل کي دين جو نالو ڏئي ڇڏيندي آهي، پوءِ اِها شيءِ خدا جي شديد غضب جو سبب بڻجي ويندي آهي. ان جماعت جي متعلق اهو فيصلو ڪيو ويندو آهي تہ ان کي آخرت کان پهرين هن دنيا جي زندگي ۾ ئي رسوائي ۽ ذلت جي سزا ڏني وڃي. بني اسرائيل جي لاءِ اِها دنياوي سزا ان صورت ۾ آئي جو حضرت موسيٰ عليه السلام جي حڪم تي هر قبيلي جي مخلص ذميدارن پنهنجي پنهنجي قبيلي جي انهن فردن کي پڪڙيو جن گابي ٺاهڻ جي ڪم ۾ حصو ورتو هو ۽ ان فتني ۾ سڌو سنئون شريڪ هئا. ان کانپوءِ هر قبيلي جي فردن خود پنهنجن هٿن سان پنهنجي قبيلي جي مجرمن کي قتل ڪيو. اُن دردناڪ انجام کان رڳو اُهي ماڻهو بچي سگهيا، جيڪي پنهنجي اُن فعل تي سخت شرمنده هئا ۽ انهن پنهنجي جرم جو اقرار ڪندي توبهہ ڪئي.

بني اسرائيل جي جرم تي خدا جنهن سزا جو فيصلو ڪيو، ان تي عمل خود انهن جي پنهنجن تلوارن جي ذريعي ڪيو ويو. ڪڏهن اهڙي قسم جي فيصلي جو نفاذ غيرن جي تلوارن ذريعي بہ ڪيو ويندو آهي ۽ ڏارين جي تلوارن سان ان جو نفاذ ان وقت ٿيندو آهي، جڏهن سزا سان گڏ رسوائي کي بہ شامل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هجي.

گناهہ تي توبهہ اِها آهي تہ گناهہ تي وڃڻ کانپوءِ ماڻهو پنهنجي عمل تي شديد شرمنده هجي. توبهہ جي اصل حقيقت شرمندگي آهي. اِها شرمندگي ان ڳالهہ جي ضمانت آهي تہ ماڻهو پنهنجي پوري وجود سان اِهو فيصلو ڪري تہ آئندو هُو اهڙو فعل نہ ڪندو. گنهگار جڏهن اهڙي طرح شرمندگي جو ۽ آئنده جي لاءِ پرهيز جي عزم جو ثبوت ڏيندو آهي تہ جڻ هو ٻيهر ايمان آڻيندو آهي. دين جي دائري مان نڪري وڃڻ کانپوءِ هو ٻيهر خدا جي دين ۾ داخل ٿي ويندو آهي.

وَ لَمَّا سَكَتَ عَنۡ مُّوۡسَى الۡغَضَبُ اَخَذَ الۡاَلۡوَاحَ ۖۚ وَ فِىۡ نُسۡخَتِهَا هُدًى وَّ رَحۡمَةٌ لِّلَّذِيۡنَ هُمۡ لِرَبِّهِمۡ يَرۡهَبُوۡنَ ﴿١٥٤﴾ وَ اخۡتَارَ مُوۡسٰى قَوۡمَهٗ سَبۡعِيۡنَ رَجُلًا لِّمِيۡقَاتِنَا ۚ فَلَمَّاۤ اَخَذَتۡهُمُ

الرَّجْفَةُ قَالَ رَبِّ لَوْ شِئْتَ اَهْلَكْتَهُمْ مِّنْ قَبْلُ وَ اِيَّايَ ۖ اَتُهْلِكُنَا بِمَا فَعَلَ السُّفَهَآءُ
مِنَّا ۚ اِنْ هِيَ اِلَّا فِتْنَتُكَ ۖ تُضِلُّ بِهَا مَنْ تَشَآءُ وَ تَهْدِيْ مَنْ تَشَآءُ ۖ اَنْتَ وَلِيُّنَا فَاغْفِرْ
لَنَا وَ ارْحَمْنَا وَ اَنْتَ خَيْرُ الْغٰفِرِيْنَ ﴿١٥٥﴾ وَ اكْتُبْ لَنَا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّ فِي الْاٰخِرَةِ
اِنَّا هُدْنَآ اِلَيْكَ ۖ قَالَ عَذَابِيْٓ اُصِيْبُ بِهٖ مَنْ اَشَآءُ ۚ وَ رَحْمَتِيْ وَ سِعَتْ كُلَّ شَيْءٍ ۖ
فَسَاَكْتُبُهَا لِلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ وَ يُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَ الَّذِيْنَ هُمْ بِاٰيٰتِنَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٥٦﴾

۽ جڏهن موسيٰ جي ڪاوڙ لٿي ته اُن تختيون کنيون ۽ جيڪو انهن ۾ لکيل هو. اُن ۾ هدايت ۽ رحمت هئي انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي پنهنجي رب کان ڊڄن ٿا. ۽ موسيٰ پنهنجي قوم مان ستر ماڻهو چونڊيا اسان جي مقرر ڪيل وقت جي لاءِ. پوءِ جڏهن کين زلزلي اچي ورتو ته موسيٰ چيو اي رب! جيڪڏهن تون چاهين ها ته پهريائين تون انهن کي هلاڪ ڪري ڇڏين ها ۽ مون کي به. ڇا تون اسان کي اهڙي ڪم تي هلاڪ ڪندين جيڪو اسان جي بيوقوفن ڪيو آهي. اها سڀ تنهنجي آزمائش آهي. تون اُن سان جنهن کي چاهين گمراهه ڪرين ۽ جنهن کي چاهين هدايت ڏين. تون ئي اسان جو والي آهين، تنهن ڪري اسان کي بخش ڪر ۽ اسان تي رحم فرماءِ. تون سڀني کان بهتر بخشڻ وارو آهين. ۽ تون اسان جي لاءِ هن دنيا ۾ به ڀلائي لکي ڇڏ ۽ آخرت ۾ به. اسان تو ڏانهن رجوع ڪيو. الله چيو آئون پنهنجو عذاب ان ئي کي ڏيندو آهيان جنهن کي چاهيندو آهيان ۽ منهنجي رحمت هر شيءِ تي ڇانيل آهي، پوءِ آئون ان کي انهن لاءِ لکندس جيڪي ڊپ رکن ٿا ۽ زڪوات ادا ڪن ٿا ۽ اسان جي نشانين تي ايمان آڻين ٿا. ١٥٤-١٥٦

---

بني اسرائيل جي ڳابي ٺاهڻ مان اِهو ظاهر ٿيو ته انهن جي اندر خدا تي اُهو يقين نه هو جيڪو هئڻ کپي ها. تنهن ڪري انهن کي جبل تي سڏايو ويو. حضرت موسيٰ عليه السلام مقرر وقت جي مطابق بني اسرائيل جي ستر نمائندن کي وٺي پيهر جبل طور تي ويو. اُتي گج گوڙ، وڄ ۽ زلزلي جي ذريعي اهڙيون حالتون پيدا ڪيون ويون، جنهن سان بني اسرائيل جي ماڻهن جي اندر عاجزي ۽ رجوع ۽ خوف پيدا ٿئي. اُن کان پوءِ اُهي خدا جي اڳيان روئڻ، التجا ڪرڻ ۽ ٻاڏائڻ لڳي ويا ۽ اجتماعي طور رجوع ڪيو. انهن وعدو ڪيو ته اُهي توريت جي حڪمن تي سچائي سان عمل ڪندا.

ان موقعي تي حضرت موسيٰ عليه السلام دعا ڪئي ”اي اسان جا رب! اسان جي لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ ڀلائي لکي ڇڏ“، الله تعاليٰ ان جي جواب ۾ فرمايو ”آئون جنهن کي چاهيان ٿو پنهنجو عذاب ڏيندو آهيان ۽ منهنجي رحمت هر شيءِ تي ڇانيل آهي“. حضرت موسيٰ عليه السلام جي دعا مجموعي طور تي پنهنجي پوري امت لاءِ هئي. پر الله تعاليٰ پنهنجي جواب ۾ پڌرو ڪري ڇڏيو ته نجات ۽ ڪاميابي ڪا گروهي شيءِ نه آهي. ان جو فيصلو هر هڪ فرد جي لاءِ ان جي ذاتي عمل جي بنياد تي ٿيندو آهي. جيتوڻيڪ آئون سڀني رحم ڪرڻ وارن کان وڌيڪ رحيم آهيان. پر جيڪو شخص صالح عمل جو ثبوت نه ڏي، اُهو منهنجي پڪڙ کان بچي نه ٿو سگهي، چاهي اُهو ڪنهن به گروهه سان تعلق رکندڙ هجي.

خدا جو ڪتاب هدايت ۽ رحمت هوندو آهي. اِهو دنيا جي زندگي ۾ ماڻهوءَ جي لاءِ بهترين رهنما آهي ۽ آخرت ۾ خدا جي رحمت جو يقيني ذريعو. پر خدا جي ڪتاب جو اهو فائدو صرف ان کي

ملندو آهي جيڪو ”ڊپ“ رکندو هجي، جنهن کي انديشو لڳل هجي ته خبر نه آهي ته خدا مون سان ڪهڙو معاملو ڪندو. هِي اُهي ماڻهو آهن جيڪي حق جا سچا طالب آهن. انهن جي سامهون جڏهن حق ايندو آهي ته اُهي ڪنهن قسم جي نفسياتي مونجهارن ۾ مبتلا ٿيڻ کان سواءِ ان کي پائي وٺندا آهن. ان ڪانپوءِ خدا انهن جي خوف ۽ اميد جو مرڪز بڻجي ويندو آهي. انهن جو سڀ ڪجهه خدا جي لاءِ وقف ٿي ويندو آهي. انهن جو خوف انهن جي شعور کي بيدار ڪري ڇڏيندو آهي. انهن جي نگاهه تان سيئي مصنوعي پردا هٽي ويندا آهن. اُهي خدا طرفان ظاهر ٿيڻ وارين نشانين کي سُڃاڻڻ ۾ ڪڏهن به غلطي نه ٿا ڪن. اُهي انديشي جي نفسيات ۾ جيئندا آهن، نه وري قناعت جي نفسيات ۾.

اَلَّذِيۡنَ يَتَّبِعُوۡنَ الرَّسُوۡلَ النَّبِيَّ الۡاُمِّيَّ الَّذِيۡ يَجِدُوۡنَهٗ مَكۡتُوۡبًا عِنۡدَهُمۡ فِي التَّوۡرٰىةِ وَ الۡاِنۡجِيۡلِ ۡ يَاۡمُرُهُمۡ بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَ يَنۡهٰىهُمۡ عَنِ الۡمُنۡكَرِ وَ يُحِلُّ لَهُمُ الطَّيِّبٰتِ وَ يُحَرِّمُ عَلَيۡهِمُ الۡخَبٰٓئِثَ وَ يَضَعُ عَنۡهُمۡ اِصۡرَهُمۡ وَ الۡاَغۡلٰلَ الَّتِيۡ كَانَتۡ عَلَيۡهِمۡ ؕ فَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا بِهٖ وَ عَزَّرُوۡهُ وَ نَصَرُوۡهُ وَ اتَّبَعُوا النُّوۡرَ الَّذِيۡۤ اُنۡزِلَ مَعَهٗۤ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمُ
ع ۱۹ ٦ ٩ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ﴿۱۵۷﴾

جيڪي ماڻهو پيروي ڪندا ان رسول جي جيڪو نبي اُمّي آهي، جنهن کي هُو پاڻ وٽ توريت ۽ انجيل ۾ لکيل ڏسندا آهن. هو انهن کي نيڪي جو حڪم ڪري ٿو ۽ اِنهن کي برائي کان روڪي ٿو ۽ انهن لاءِ پاڪ شيون جائز ڪري ٿو ۽ ناپاڪ شيون حرام ڪري ٿو ۽ انهن تان سندن بار ۽ ڳٽ لاهي ٿو جيڪي مٿن پيل آهن. پوءِ جن ماڻهن ان تي ايمان آندو ۽ جن ان جي عزت ڪئي ۽ ان جي مدد ڪئي ۽ ان نور جي پيروي ڪئي جيڪو ان سان گڏ نازل ڪيو ويو آهي ته اُهي ئي ماڻهو فلاح پائڻ وارا آهن. ۱۵۷

---

بني اسرائيل ڏسندي پئي آيا ته جيترا به نبي ايندا آهن سي سڀ سندن قوم مان آهن. آخري رسول خدا جي منصوبي مطابق بني اسماعيل ۾ اچڻ وارو هو، ان ڪري خدا بني اسرائيل جي نبين جي ذريعي انهن کي اڳ ۾ ئي ان جي خبر ڏئي ڇڏي. انهن جي ڪتابن ۾ ڪثرت سان اهڙي قسم جون اڳ ڪٿيون اجا تائين موجود آهن. اِهو ان ڪري ٿيو ته جيئن جڏهن آخري رسول اچي ته اُهي ڪنهن وڏي فتني ۾ نه پئجي وڃن ۽ آسانيءَ سان ان کي سڃاڻي ان جا ساٿي بڻجي وڃن.

پيغمبرِ اسلام پڙهيل لکيل نه هئا. پاڻ ﷺ اُمّي رسول هئا. اميت ۽ پيغمبري جيڪا پيغمبر اسلام جي زندگي ۾ ڪامل صورت ۾ گڏ جي وئي، اهائي هميشه کان الله تعاليٰ جي سنت آهي. خدا جي معرفت جو اظهار هميشه ”اميت“ جي سطح تي هوندو آهي. يعني اُها ڪنهن اهڙي شخص جي ذريعي ظاهر ڪئي ويندي آهي جيڪا دنياوي معيار جي لحاظ کان ان قسم جي عظيم ڪم جو اهل نه سمجهو ويندو هجي. تاريخ ۾ ڪڏهن به ايئن نه ٿيو آهي جو خدا بقراط ۽ افلاطون کي پنهنجو پيغمبر بڻائي موڪليو هجي.

دين جو اصل روح الله جو خوف ۽ آخرت جو فڪر آهي. پر بعد جي زماني ۾ جڏهن اصل روح ڪمزور پئجي ويندو آهي ته ظاهر پرستي جو زور گهٽبو وڃي ويندو آهي. ان ڪانپوءِ غير ضروري بحث ۽

مباحثا ڪري نوان نوان مسئلا پيدا ڪيا ويندا آهن. روحانيت جي نالي تي مشقن ۽ رياضتن جو هڪ پورو ڍانچو ڪڙو ڪيو ويندو آهي. عوامي وهم ۽ گمان مقدس بڻجي نئين شريعت جي صورت اختيار ڪري وٺندا آهن. يهودين جو اِهوئي حال ٿي چڪو هُو. انهن خدا جي دين جي نالي تي وهم پرستي ۽ ورد وظيفن جو هڪ هٿ ٺوڪيل ڍانچو ٺاهي ورتو هو ۽ ان کي خدا جو دين سمجهندا هئا. پيغمبر اسلام انهن جي سامهون دين کي ان جي فطري صورت ۾ پيش ڪيو. غير ضروري پابندين کي ختم ڪري سادي ۽ سچي دين ڏانهن انهن جي رهنمائي فرمائي.

پيغمبر جڏهن ايندو آهي ته سيني کان وڏي نيڪي اِها هوندي آهي ته ان تي ايمان آڻجي. پر اِهو ايمان عام معنيٰ ۾ رڳو هڪ ڪلمو پڙهڻ نه آهي. اِهو بي روح ڍانچي واري دين مان نڪري زنده شعور واري دين ۾ داخل ٿيڻ آهي. پراڻي مذهبي ڍانچي سان ماڻهوءَ جي وابستگي فقط تاريخي روايتن يا نسلي رواج جي زور تي هوندي آهي. پر نئين پيغمبر جي دين کي جڏهن هو قبول ڪندو آهي ته اُهو ان کي شعوري فيصلي تحت قبول ڪندو آهي. اُهو رسمن مان نڪري حقيقت جي دائري ۾ داخل ٿيندو آهي. ڏسڻ ۾ اِها هڪ سادي ڳالهه لڳندي آهي، پر اِها سادي ڳالهه هر دور ۾ انسان جي لاءِ مشڪل ترين ڳالهه ثابت ٿيندي آهي.

قُلۡ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنِّيۡ رَسُوۡلُ اللّٰهِ اِلَيۡكُمۡ جَمِيۡعَا ِۨالَّذِيۡ لَهٗ مُلۡكُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ‌ۚ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ يُحۡىٖ وَيُمِيۡتُ‌ فَاٰمِنُوۡا بِاللّٰهِ وَرَسُوۡلِهِ النَّبِىِّ الۡاُمِّىِّ الَّذِىۡ يُؤۡمِنُ بِاللّٰهِ وَكَلِمٰتِهٖ وَاتَّبِعُوۡهُ لَعَلَّكُمۡ تَهۡتَدُوۡنَ ﴿۱۵۸﴾ وَمِنۡ قَوۡمِ مُوۡسٰٓى اُمَّةٌ يَّهۡدُوۡنَ بِالۡحَـقِّ وَبِهٖ يَعۡدِلُوۡنَ ﴿۱۵۹﴾

چئو اي انسانو! بيشڪ آئون توهان سيني ڏانهن الله جو رسول آهيان جنهن جي حڪومت آهي آسمانن ۽ زمين ۾. جنهن کان سواءِ ڪو معبود نه آهي. اُهوئي جيئاري ٿو ۽ اهو ئي ماري ٿو. تنهن ڪري ايمان آڻيو الله تي ۽ سندس اُمي رسول ۽ نبي تي جيڪو ايمان رکي ٿو الله ۽ سندس ڪلمن تي ۽ ان جي پيروي ڪريو ته جيئن توهان هدايت ماڻيو. ۽ موسيٰ جي قوم ۾ هڪ جماعت اهڙي به آهي جيڪا حق جي مطابق رهنمائي ڪندي آهي ۽ اُن ئي جي مطابق انصاف ڪندي آهي. ١٥٨-١٥٩

---

”چئو آئون سيني انسانن ڏانهن الله جو رسول آهيان“. هِن جو اِهو مطلب نه آهي ته ٻيا سڀ پيغمبر قومي پيغمبر هئا ۽ رسول الله ﷺ بين الاقوامي پيغمبر آهن. اها ڳالهه مقابلي طور نه چئي وئي آهي بلڪ واقعي طور چئي وئي آهي.

اصل ۾ پيغمبر اسلام جي رسالت جا ٻه پهلو آهن. هڪڙو براهِ راست، ٻيو امت جي واسطي سان. سندن رسالت براهِ راست عربن لاءِ هئي (سورة الانعام ٩٢) ۽ سندن رسالت بالواسطه سڄي عالم جي لاءِ آهي (سورة الحج: ٧٨) حڪم موجب اِهائي نوعيت خدا جي سيني پيغمبرن جي هئي. پر ٻين پيغمبرن جو دين محفوظ حالت ۾ نه رهي سگهيو. ان ڪري اِهو ممڪن نه هو ته اُهي سڄي عالم جي لاءِ نذير و بشير بڻجن ها. اڄ عيسائيت جي تبليغ سڄي عالم ۾ وڏي پيماني تي ٿي رهي آهي، ان جي باوجود حضرت عيسيٰ عليه السلام جي نبوت رڳو فلسطين تائين محدود رهجي وئي هئي. ڇاڪاڻ ته حضرت

عيسيٰ عليه السلام کان پوءِ ان جي تعليم پنهنجي اصل حالت ۾ باقي نه رهي. اڄ عيسائيت جي نالي تي جيڪو دين ماڻهن تائين پهچي رهيو آهي، اُهو حقيقت ۾ سينٽ پال جو دين آهي نه وري عيسيٰ عليه السلام جو دين. ڇڻ ته نبين جي ديني ڪم جي وسعت يا ڦهلاءُ ۾ جيڪو فرق آهي، اِهو فرق واقعو بڻجڻ جي لحاظ کان آهي نه وري الله جي طرفان ملڻ جي اعتبار کان.

پيغمبر عربي ﷺ جي متعلق بائبل ۾ اِها اڳڪٿي آهي ته زمين جا سيئي قبيلا ان جي وسيلي سان برڪت پائيندا (پيدائش ب-١٢). سيني قومن تائين پاڻ ﷺ جي برڪت پهچڻ ان ڪري ممڪن ٿي سگهي جو پاڻ ﷺ جو آندل دين محفوظ آهي. حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ حضرت مسيح عليه السلام جو دين محفوظ نه آهي. ان ڪري بظاهر انهن جي دين جو آواز سيني تائين پهچي ڪري به ان جي برڪت سيني تائين نه پهچي سگهي.

عرب ۾ يهودي قبيلا آباد هئا. هِي اُهي ماڻهو هئا جن کي اِهو فخر هو ته انهن وٽ خدا جو مقدس ڪتاب آهي. اِهڙا ماڻهو هميشه پاڻ کان ٻاهر ڪنهن سچائي کي مڃڻ جي لاءِ سيني کان گهڻا سخت هوندا آهن. انهن جو اِهو سمجهڻ ته سيني کان وڏي سچائي انهن وٽ آهي، انهن جي لاءِ ڪنهن ٻئي طرف کان اچڻ واري سچائي کي قبول ڪرڻ رڪاوٽ بڻجي ويندو آهي. اهڙو ئي حال يهودين جو ٿيو. انهن جي هڪ وڏي اڪثريت ضد ۽ تعصب جي نفسيات ۾ مبتلا ٿي وئي. صرف ڪجھ ماڻهو (عبدالله بن سلام وغيره) اهڙا نڪتا جن ڪليل ذهن سان اسلام کي ڏٺو. انهن پنهنجي دنياوي عزت جي پرواهه نه ڪندي ان جي صداقت جو اعلان ڪيو ۽ پنهنجي دنياوي زندگي کي اُن جي حوالي ڪري ڇڏيو.

”رسول ايمان رکي ٿو الله تي ۽ ان جي ڪلمن (ارشاد) تي“. اهو جملو ٻڌائي ٿو ته فلسفين جي خدا ۽ پيغمبر جي خدا ۾ ڪهڙو فرق آهي. فلسفي جو خدا هڪ مجرد يا اڪيلو روح آهي. ان کي مڃڻ اهڙو ئي آهي جيئن ڪائنات ۾ ڪشش ثقل کي مڃڻ. ڪشش ثقل نه ڳالهائيندي آهي نه حڪم ڏيندي آهي، پر پيغمبر جو خدا هڪ زنده ۽ باشعور خدا آهي. اُهو انسانن سان هم ڪلام ٿيندو آهي. اُهو پنهنجن ٻانهن کي حڪم ڏيندو آهي ۽ ان حڪم کي مڃڻ يا نه مڃڻ تي هر هڪ جي لاءِ انعام يا سزا جو فيصلو ڪندو آهي.

وَ قَطَّعْنٰهُمُ اثْنَتَيْ عَشْرَةَ اَسْبَاطًا اُمَمًا ؕ وَ اَوْحَيْنَاۤ اِلٰى مُوْسٰۤى اِذِ اسْتَسْقٰىهُ قَوْمُهٗۤ اَنِ
اضْرِبْ بِّعَصَاكَ الْحَجَرَ ۚ فَانْۢبَجَسَتْ مِنْهُ اثْنَتَا عَشْرَةَ عَيْنًا ؕ قَدْ عَلِمَ كُلُّ اُنَاسٍ
مَّشْرَبَهُمْ ؕ وَ ظَلَّلْنَا عَلَيْهِمُ الْغَمَامَ وَ اَنْزَلْنَا عَلَيْهِمُ الْمَنَّ وَ السَّلْوٰى ؕ كُلُوْا مِنْ
طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ ؕ وَ مَا ظَلَمُوْنَا وَ لٰكِنْ كَانُوْۤا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿١٦٠﴾ وَ اِذْ قِيْلَ لَهُمُ
اسْكُنُوْا هٰذِهِ الْقَرْيَةَ وَ كُلُوْا مِنْهَا حَيْثُ شِئْتُمْ وَ قُوْلُوْا حِطَّةٌ وَّ ادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا
نَّغْفِرْ لَكُمْ خَطِيْٓـٰٔتِكُمْ ؕ سَنَزِيْدُ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٦١﴾ فَبَدَّلَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْهُمْ قَوْلًا غَيْرَ
ع ٢٠ الَّذِيْ قِيْلَ لَهُمْ فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا كَانُوْا يَظْلِمُوْنَ ﴿١٦٢﴾
١٠

۽ اسان انهن کي ٻارنهن قبيلن ۾ ورهائي انهن کي الڳ الڳ جماعت بڻائي ڇڏيو ۽ جڏهن موسيٰ جي قوم پاڻي گهريو تہ اسان موسيٰ کي حڪم موڪليو تہ فلاڻي جبل تي پنهنجي لٺ هڻ تہ ان مان ٻارنهن چشما ڦُٽي نڪتا. هر قبيلي پنهنجو گهاٽ سڃاتو. ۽ اسان انهن مٿان ڪڪرن جي ڇانو ڪئي ۽ انهن تي مَنّ ۽ سلويٰ لاٿو. کائو پاڪيزه شين مان جيڪي اسان اوهان کي ڏنيون آهن. ۽ انهن اسان جو ڪجهہ نہ بگاڙيو بلڪ خود پنهنجو ئي نقصان ڪندا رهيا. ۽ جڏهن انهن کي چيو ويو تہ هِن بستي ۾ وڃي وسو. ان مان جتان چاهيو کائو ۽ چئو اسان کي بخش ڪر ۽ دروازي مان جهڪندي داخل ٿيو، اسان توهان جون خطائون معاف ڪنداسون. اسان نيڪي ڪرڻ وارن کي اجا وڌيڪ نوازيندا آهيون. پوءِ انهن منجهان ظالمن بدلائي ڇڏيو ان قول کي ٻين لفظن سان جيڪو انهن کي چيو ويو هو. پوءِ اسان انهن تي آسمان تان عذاب موڪليو، ان ڪري جو اُهي ظلم ڪندڙ هئا. ١٦٠-١٦٢

---

مصر جي شرڪ واري ماحول مان ڪڍي خدا بني اسرائيل کي سينا جي رڻ ۾ پهچايو. هُتي انهن جي تنظيم قائم ڪئي وئي. انهن کي ٻارنهن جماعتن ۾ ورهايو ويو. هر جماعت جي مٿان هڪ نگران هو ۽ حضرت موسيٰ عليہ السلام سڀني جي مٿان نگران هئا.

پوءِ بني اسرائيل کي خاص طرح سان زندگيءَ جون سڀئي ضرورتون عطا ڪيون ويون. جبل مان چشما ڪڍي انهن جي لاءِ پاڻي فراهم ڪيو ويو. ڪليل رڻ ۾ ڇانو جي لاءِ انهن تي مسلسل ڪڪر موڪليا ويا. انهن جي خوراڪ جي لاءِ من ۽ سلويٰ نازل ڪيو ويو جيڪو آساني سان انهن کي پنهنجن خيمن جي سامهون ملي ويندو هو. اُنهن جي رهڻ جي لاءِ هڪ پورو شهر اريحا (وادي يردن ۾) انهن جي حوالي ڪيو ويو.

الله انهن کي چيو تہ توهان جي سڀني ضرورتن جو اسان انتظام ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي حرص ۽ لذت پرستي ۾ مبتلا ٿي ڪري ناپاڪ شين ڏانهن نہ ڊوڙو. ان جي بجاءِ قناعت ۽ الله جي اڳيان شڪر گذاري جو طريقو اختيار ڪريو.

”باب (دروازو) مان جهڪندي داخل ٿيو“. هتي باب مان مراد بستي جو دروازو نہ آهي، بلڪ هيڪل سليماني جو دروازو آهي. زمين ۾ اقتدار ڏيڻ کانپوءِ بني اسرائيل کي چيو ويو تہ پنهنجي عبادت گاهہ ۾ ڊڄندي ويندا ڪيو ۽ گناهن کان مغفرت گهرو. مسلمانن وٽ جهڙي طرح ڪعبي کي بيت الله (خدا جو گهر) چيو وڃي ٿو، اهڙي طرح يهودين وٽ هيڪل کي باب الله (خدا جو در) چيو ويندو آهي. يهودين کي حڪم ڏنو ويو هو تہ پنهنجي عبادت خاني ۾ عاجزي سان داخل ٿي ڪري پنهنجي رب جي عبادت ڪيو ۽ الله جي عظمت ۽ جلال کي ياد ڪندي ان جي اڳيان پنهنجن ڪوتاهين جو اعتراف ڪندا رهو. پر يهودين خدا جي نصيحت کي وساري ڇڏيو. اُهي خدا جي ٻڌايل راهہ تي هلڻ جي بجاءِ خدا جي نالي تي هٿ ٺوڪيل رستن تي هلڻ لڳا. انهن عاجزي جي بدران سرڪشيءَ جو طريقو اختيار ڪيو. شڪر جو ڪلمو ڳالهائڻ بدران اهي بي صبريءَ جا ڪلما ڳالهائڻ لڳا.

يهودي جڏهن بگاڙ جي اُن حد کي پهچي ويا تہ خدا پنهنجون نعمتون انهن کان واپس وٺي ڇڏيون. رحمت جي بجاءِ انهن کي مختلف قسمن جي عذابن گهيري ورتو.

وَ سۡـَٔلۡهُمۡ عَنِ الۡقَرۡيَةِ الَّتِىۡ كَانَتۡ حَاضِرَةَ الۡبَحۡرِ ۘ اِذۡ يَعۡدُوۡنَ فِى السَّبۡتِ اِذۡ تَاۡتِيۡهِمۡ
حِيۡتَانُهُمۡ يَوۡمَ سَبۡتِهِمۡ شُرَّعًا وَّ يَوۡمَ لَا يَسۡبِتُوۡنَ ۙ لَا تَاۡتِيۡهِمۡ ۛۚ كَذٰلِكَ ۛۚ نَبۡلُوۡهُمۡ بِمَا
كَانُوۡا يَفۡسُقُوۡنَ ﴿۱۶۳﴾ وَ اِذۡ قَالَتۡ اُمَّةٌ مِّنۡهُمۡ لِمَ تَعِظُوۡنَ قَوۡمَا ۙ اللّٰهُ مُهۡلِكُهُمۡ اَوۡ مُعَذِّبُهُمۡ
عَذَابًا شَدِيۡدًا ؕ قَالُوۡا مَعۡذِرَةً اِلٰى رَبِّكُمۡ وَ لَعَلَّهُمۡ يَتَّقُوۡنَ ﴿۱۶۴﴾

۽ ڪانئن اُن بستي جو حال پُڇ، جيڪا درياءَ جي ڪناري تي هئي. جڏهن هُو سبت (ڇنڇر) جي باري ۾ نافرماني ڪندا هئا. جڏهن سبت جي ڏينهن سندن مڇيون پاڻي جي مٿاڇري تي ظاهر ٿينديون هيون ۽ جنهن ڏينهن سبت نہ هوندو هو تہ نہ اينديون هيون. اهڙي طرح اسان انهن جي آزمائش ڪئي، ان ڪري جو هُو نافرماني ڪري رهيا هئا. ۽ جڏهن انهن مان هڪ جماعت چيو تہ توهان اهڙن ماڻهن کي ڇو نصيحت ڪندا آهيو جن کي الله هلاڪ ڪرڻ وارو آهي يا سخت عذاب ڏيڻ وارو آهي. انهن چيو توهان جي رب جي اڳيان معذرت پيش ڪرڻ جي لاءِ ۽ انهيءَ لاءِ بہ تہ شايد اُهي ڊڄن. ١٦٣-١٦٤

---

يهودين کي اِها نصيحت ڪئي وئي هئي تہ هو هفتي ۾ هڪ ڏينهن (ڇنڇر) کي عبادت ۽ خدا جي ذڪر جي لاءِ خاص ڪن. ان ڏينهن ڪو معاشي ڪم نہ ڪن. بائيبل جي مطابق حڪم اِهو هو تہ جيڪو شخص سبت جي قانون جي خلاف ورزي ڪري تہ ان کي ماري ڇڏجي (خروج: ب ٣١). پر جڏهن يهودين ۾ بگاڙ آيو تہ اُهي ان جي خلاف ورزي ڪرڻ لڳا. انهن جي اصلاح ڪرڻ وارن انهن کي متوجهہ ڪيو تہ انهن نہ مڃيو. پوءِ بہ اصلاح ڪرڻ وارن پنهنجي ڪوشش مسلسل جاري رکي. حقيقت اِها آهي تہ ٻين جي اصلاح جو ڪم جيتوٽيڪ بظاهر ٻين جي لاءِ هوندو آهي، پر اِهو خود پاڻ لاءِ ڪيو ويندو آهي، ان جو اصل ڪارڻ پاڻ کي الله وٽ ذميداري کان آجو ڪرڻ هوندو آهي. جيڪڏهن اِهو ڪارڻ زندهہ نہ هجي تہ ماڻهو وچ ۾ رُڪجي ويندو ۽ هو پنهنجي اصلاح ۽ تبليغ جي عمل کي آخري وقت تائين جاري نہ رکي سگهندو.

يهودين جي سرڪشي جو نتيجو اِهو ٿيو جو معاملي کي انهن جي لاءِ وڌيڪ سخت ڪيو ويو. بحر قلزم جي اوپر خليج جي ڪناري تي ايلہ شهر ۾ يهودين جون آباديون هيون. انهن جي معيشت جو انحصار گهڻو ڪري مڇين جي شڪار تي هو. خدا جي حڪم سان ايئن ٿيو جو ڇنڇر جي ڏينهن انهن جي ساحل تي مڇين جو اچڻ گهڻو وڌي ويو. باقي ڇهن ڏينهن ۾ مڇيون تمام گهٽ اينديون هيون. پر منع ڪيل ڇنڇر جي ڏينهن اُهي ڪثرت سان پاڻي جي سطح تي ترندي ڏسڻ ۾ اينديون هيون.

اِها يهودين جي لاءِ وڏي سخت آزمائش هئي. ڇاڪاڻ تہ پهرين جيڪڏهن اِها نوعيت هئي تہ ڇنڇر واري ڏينهن کان علاوه ڇهن جائز ڏينهن ۾ شڪار ڪرڻ جو پورو موقعو هو، پر هاڻي رڳو هڪ حرام ڏينهن ۾ ئي شڪار ڪرڻ جو موقعو انهن جي لاءِ باقي رهجي ويو. هاڻي يهودين ايئن ڪيو تہ اٽڪل جي ذريعي حرام کي حلال ڪرڻ لڳا. اُهي ڇنڇر جي ڏينهن شڪار نہ ڪندا هئا. البت اُهي سمنڊ جي پاڻي کي آڻي ٻاهر ٺهيل تلائن ۾ جمع ڪندا هئا. ڇنڇر جي ڏينهن مڇيون پاڻيءَ جي مٿان اينديون هيون تہ اُهي نالي جي رستي انهن جي ٺهيل تلائن ۾ اچي وينديون هيون، ان کان پوءِ اُهي تلائن جو منهن

بند ڪري مڇين جو درياءَ ۾ موٽڻ جو رستو بند ڪري ڇڏيندا هئا. پوءِ ٻئي ڏينهن آچر تي وچي انهن کي پڪڙيندا هئا. اهڙي طرح هُو هڪ ناجائز ڪم کي جائز ڪم جي صورت ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ته جيئن انهن تي اِهو حڪم صادق نه ٿئي ته انهن ڇنڇر جي ڏينهن شڪار ڪيو هو.

ان مان معلوم ٿيو ته جيڪو شخص جائز ذريعن سان پنهنجون ضرورتون حاصل ڪرڻ تي قناعت نه ڪري ته اهو خود کي هِن خطري ۾ وجهندو آهي ته ان جي لاءِ جائز ذريعي جو دروازو بلڪل ئي بند ڪري ڇڏجي ۽ ناجائز ذريعي کانسواءِ ان جي لاءِ روزي حاصل ڪرڻ جي ڪا صورت باقي نه رهي.

فَلَمَّا نَسُوْا مَا ذُكِّرُوْا بِهٖٓ اَنْجَيْنَا الَّذِيْنَ يَنْهَوْنَ عَنِ السُّوْٓءِ وَ اَخَذْنَا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا بِعَذَابٍۭ بَـِٔيْسٍۭ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿١٦٥﴾ فَلَمَّا عَتَوْا عَنْ مَّا نُهُوْا عَنْهُ قُلْنَا لَهُمْ كُوْنُوْا قِرَدَةً خٰسِـِٕيْنَ ﴿١٦٦﴾

پوءِ جڏهن انهن وساري ڇڏي اِها شيءِ جيڪا انهن کي ياد ڏياري وئي هئي ته اسان انهن ماڻهن کي بچائي ورتو جيڪي برائي کان روڪيندا هئا ۽ انهن ماڻهن کي جن پنهنجن جانين تي ظلم ڪيو هڪ سخت عذاب ۾ پڪڙي ورتو. ان ڪري جو اُهي نافرماني ڪندا هئا. پوءِ جڏهن اُهي وڌڻ لڳا ان ڪم ۾ جنهن کان اُهي روڪيا ويا هئا ته اسان انهن کي چيو ته ذليل باندر ٿي پئو. ١٦٥-١٦٦

---

هڪ ڪم جنهن کان خدا منع ڪيو هجي ان کي ڪرڻ گناهه آهي ۽ اٽڪل جي ذريعي ناجائز کي جائز بڻائڻ گناهه تي سرڪشيءَ جو اضافو آهي. سبت واري قانون جي خلاف ورزي ڪري يهودي اِهڙي قسم جا مجرم بڻجي ويا. اهڙا ماڻهو خدا جي لعنت جا مستحق ٿي ويندا آهن. يعني اُهي خدا جي اُنهن نعمتن کان محروم ٿي ويندا آهن، جيڪي هُن هِن دنيا ۾ صرف انسان جي لاءِ خاص ڪيون آهن. اهڙا ماڻهو انسانيت جي سطح کان ڪِري حيوانيت جي سطح تي اچي ويندا آهن.

سبت واري قانون جي خلاف ورزي ڪرڻ وارن سان اِهوئي معاملو ڪيو ويو. ”الله انهن کي باندر بڻائي ڇڏيو“ جو مطلب اِهو نه آهي ته انهن جي صورت باندرن جي صورت ٿي وئي. ان جو مطلب اِهو آهي ته انهن جا اخلاق باندرن جهڙا ٿي ويا، انهن جون دليون ۽ انهن جي سوچ انسانن جي بجاءِ باندر جهڙي ٿي وئي. (قيل بل جعل اخلاقهم كاخلاقها وان لم تكن صورتهم كصورتها- مفردات امام راغب. رُوي عن مجاهد انه انما مسخت قلوبهم وردّت افهامهم كافهمام القردة- تفسير قرطبي).

انسان اهڙي مخلوق آهي جنهن جي اندر ان جي خالق عقل ۽ ضمير رکي ڇڏيو آهي. ان جي اندر جڏهن ڪا خواهش اٿندي آهي ته ان جو عقل ۽ ضمير حرڪت ۾ اچي ڪري فورًا ان جي سامهون اِهو سوال ڪندا آهن ته ايئن ڪرڻ تنهنجي لاءِ درست آهي يا نه. ان جي ابتڙ باندر جو حال اِهو آهي ته ان جي خواهش ۽ ان جي عمل جي وچ ۾ ڪا ٽين شيءِ رڪاوٽ نه ٿي بڻجي. جيڪا به ڳالهه ان جي جيءَ ۾ اچي وڃي، هُو فورًا ان کي ڪري وجهندو آهي. ان کي پنهنجي خواهش جي باري ۾ نه سوچڻ جي ضرورت هوندي آهي ۽ نه ان تي عمل ڪرڻ کانپوءِ ان تي شرمنده ٿيڻ جي.

هاڻي انسان جو باندر ٿي وڃڻ اِهو آهي ته هُو پنهنجي عقل ۽ پنهنجي ضمير جي خلاف عمل

ڪندي ايترو بي حِس ٿي وڃي جو اهڙي قسم جي نازڪ احساسن کان ان جو اندر خالي ٿي وڃي. ان جي دل ۾ جيڪا به خواهش پيدا ٿئي ان کي هُو ڪري وجهي. جڏهن به ڪو شخص ان جي قابو ۾ اچي وڃي ته هُو ان جي عزت ۽ ان جي مال تي حملو ڪري ڇڏي. ڪنهن سان شڪايت پيدا ٿي وڃي ته فورًا ان کي ذليل ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃي. ڪنهن سان اختلاف ٿي وڃي ته ان تي ڪاوڙ ڪرڻ لڳي. ان کي پنهنجي راهه ۾ ڪا به رڪاوٽ نظر اچي ته فورًا ان سان وڙهڻ شروع ڪري ڇڏي. سچو انسان اُهو آهي جيڪو پنهنجي پاڻ تي خدا جي رسي ۾ ٻڌل رهي ۽ باندر انسان اهو آهي جيڪو بي قيد ٿي ڪري اِهو سڀ ڪجهه ڪرڻ لڳي جيڪو ان جو نفس ان کي ڪرڻ جي لاءِ چئي. برائي کان روڪڻ هڪ قسم جو الزام کان بَري ٿيڻ جو اعلان آهي. ان ڪري ڪنهن جماعت تي جڏهن خدا جي سزا ايندي آهي ته ان جي پڪڙ ۾ اچڻ کان اُهي ماڻهو بچايا ويندا آهن جيڪي برائي کان ان حد تائين بيزار هجن جو اُهي ان کي روڪڻ وارا بڻجي وڃن.

وَ اِذۡ تَاَذَّنَ رَبُّكَ لَيَبۡعَثَنَّ عَلَيۡهِمۡ اِلٰى يَوۡمِ الۡقِيٰمَةِ مَنۡ يَّسُوۡمُهُمۡ سُوۡٓءَ الۡعَذَابِ‌ؕ اِنَّ رَبَّكَ لَسَرِيۡعُ الۡعِقَابِ‌ۖ وَ اِنَّهٗ لَغَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۱۶۷﴾ وَ قَطَّعۡنٰهُمۡ فِى الۡاَرۡضِ اُمَمًا‌ۚ مِنۡهُمُ الصّٰلِحُوۡنَ وَ مِنۡهُمۡ دُوۡنَ ذٰلِكَ‌ۖ وَ بَلَوۡنٰهُمۡ بِالۡحَسَنٰتِ وَ السَّيِّاٰتِ لَعَلَّهُمۡ يَرۡجِعُوۡنَ ﴿۱۶۸﴾

۽ جڏهن تنهنجي رب اعلان ڪري ڇڏيو ته هو يهودين تي قيامت جي ڏينهن تائين ضرور اِهڙا ماڻهو موڪليندو رهندو جيڪي انهن کي گهٽو برو عذاب ڏيندا. بيشڪ تنهنجو رب جلدي سزا ڏيڻ وارو آهي. ۽ بيشڪ هو بخشڻ وارو مهربان آهي. ۽ اسان انهن کي ٽولا ٽولا ڪري زمين ۾ پکيڙي ڇڏيو. انهن ۾ ڪجهه نيڪ آهن ۽ انهن ۾ ڪجهه انهن کان مختلف. ۽ اسان انهن جي آزمائش ڪئي سٺين حالتن سان ۽ برين حالتن سان، ته جيئن هُو باز اچن. ١٦٧-١٦٨

---

هنن آيتن ۾ يهودين جي لاءِ جنهن سزا جو اعلان آهي، ان سان گڏ (اِلٰي يوم القيامة (قيامت جي ڏينهن تائين) جي شرط لڳل آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته اِها سزا اُها آهي جنهن جو تعلق دنيا سان آهي. آخرت جي انجام جو معاملو ان کان الڳ آهي، جنهن جو ذڪر ٻين جڳهن تي آيو آهي.

ڪنهن ڪم جي ڪرڻ تي جڏهن وڏو انعام رکيو وڃي ته ان جو مطلب اِهو آهي ته ان ڪم کي نه ڪرڻ تي اوتري ئي وڏي سزا به هوندي. اِهوئي معاملو ان قوم جو آهي جيڪا آسماني ڪتاب جي حامل بڻائي وئي هجي. يهودين کي خدا انهي منصب تي رکيو هو، جيتوڻيڪ آخرت جي وعدي کان علاوه دنيا ۾ به انهن کي غير معمولي انعام ڏنا ويا، پر يهودين مسلسل نافرماني ڪئي. اُهي دين جي نالي تي بي ديني ڪندا رهيا. ان جو نتيجو اِهو نڪتو ته خدا انهن کي فضيلت واري منصب تان هٽائي ڇڏيو، انهن جي لاءِ اِهو فيصلو ٿيو ته جيستائين دنيا قائم آهي، اُهي خدا جي سزا جو مزو چکيندا رهندا ۽ آخرت ۾ جيڪو ڪجهه ٿيڻو آهي، اِهو ان کان علاوه آهي.

ان جو مطلب اِهو نه آهي ته هاڻي قيامت تائين انهن تي ڪڏهن به سٺيون حالتون نه اينديون. جيئن ته خود انهن آيتن ۾ واضح آهي، انهن تي "حسنات" يعني سٺيون حالتون به ٿوري وقت لاءِ اينديون، پر

انھن سڀني حالتن جو وقفو بہ اُنھن جي لاءِ ھڪ قسم جو عتاب ھوندو، تہ جيئن اُھي وڏيڪ سرڪشي ڪري وڏيڪ سزا جا مستحق بڻجن.

ھنن آيتن ۾ يھودين جي لاءِ ٻن سزائن جو ذڪر آھي. ھڪ اِھا تہ انھن تي اھڙيون قومون مسلط ڪيون وينديون جيڪي انھن کي پنھنجي ظلم جو نشانو بڻائين. تاريخ ٻڌائي ٿي تہ يھودين ڪڏھن بخت نصر ۽ ڪڏھن تيتس رومي جي عذاب جو نشانو بڻيا. ڪڏھن اُھي مسلمانن جا محڪوم ڪيا ويا. موجوده زماني ۾ انھن اوپر يورپ ۾ پنھنجو زبردست اقتصادي ڄار وڇايو تہ ھٽلر انھن کي تباھ ۽ برباد ڪري ڇڏيو. ھاڻي مقدس سرزمين ۾ انھن جو گڏ ٿيڻ بظاھر ان ڳالھ جي علامت آھي تہ انھن جي پوري قوت شايد اجتماعي طور ھلاڪ ٿيڻ واري ھجي.

ٻي سزا جنھن جو ھتي ذڪر آھي اُھا "تقطيع" آھي. يعني اُنھن جي جماعت کي مختلف حصن ۾ ورھائي منتشر ڪري ڇڏڻ آھي. اِھو ٻيو واقعو بہ تاريخ ۾ بار بار انھن سان ٿيندو رھيو آھي.

الله جو اھو قانون رڳو يھودين لاءِ ئي نہ ھو. اُھو پوءِ اچڻ واري اُن گروھ جي لاءِ بہ آھي جنھن کي يھودين جي برطرفي کان پوءِ خدا شاھدي جي منصب تي مقرر ڪيو آھي. مسلمان جيڪڏھن پاڻ کي اُن حال ۾ ڏسن تہ ڪافر ۽ مشرڪ انھن تي غالب اچي ويا آھن ۽ انھن جي جماعت ننڍين ننڍين جاگرافيائي علائقن ۾ پکڙجي وئي آھي تہ انھن کي خدا ڏانھن موٽڻ گھرجي. ڇاڪاڻ تہ ان جو مطلب اِھو آھي تہ اُھي احتساب الٰھي جي زد ۾ اچي ويا آھن.

فَخَلَفَ مِنۡۢ بَعۡدِھِمۡ خَلۡفٌ وَّرِثُوا الۡكِتٰبَ يَاۡخُذُوۡنَ عَرَضَ ھٰذَا الۡاَدۡنٰى وَ يَقُوۡلُوۡنَ
سَيُغۡفَرُ لَنَا‌ۚ وَ اِنۡ يَّاۡتِھِمۡ عَرَضٌ مِّثۡلُهٗ يَاۡخُذُوۡهُ‌ؕ اَلَمۡ يُؤۡخَذۡ عَلَيۡھِمۡ مِّيۡثَاقُ الۡكِتٰبِ
اَنۡ لَّا يَقُوۡلُوۡا عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الۡحَـقَّ وَ دَرَسُوۡا مَا فِيۡهِ‌ؕ وَ الدَّارُ الۡاٰخِرَةُ خَيۡرٌ لِّلَّذِيۡنَ
يَتَّقُوۡنَ‌ؕ اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ ﴿١٦٩﴾ وَ الَّذِيۡنَ يُمَسِّكُوۡنَ بِالۡكِتٰبِ وَ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ‌ؕ اِنَّا لَا نُضِيۡعُ
اَجۡرَ الۡمُصۡلِحِيۡنَ ﴿١٧٠﴾ وَاِذۡ نَتَقۡنَا الۡجَـبَلَ فَوۡقَھُمۡ كَاَنَّهٗ ظُلَّةٌ وَّظَنُّوۡۤا اَنَّهٗ وَاقِعٌۢ بِھِمۡ‌ۚ خُذُوۡا
ع ٢١ ٩ ١١ مَاۤ اٰتَيۡنٰكُمۡ بِقُوَّةٍ وَّاذۡكُرُوۡا مَا فِيۡهِ لَعَلَّكُمۡ تَتَّقُوۡنَ ﴿١٧١﴾

انھن کانپوءِ اھڙا ماڻھو سندن جانشين ٿيا جيڪي ڪتاب جا وارث ھوندي بہ ھِن ئي دنيا جو مال متاع وٺن ٿا ۽ چون ٿا تہ اسان کي ضرور معافي ملي ويندي. ۽ جيڪڏھن اِھڙو ئي ڪو ٻيو مال متاع وري بہ انھن جي سامھون اچي تہ ان کي وٺي ڇڏيندا. ڇا انھن کان ڪتاب ۾ اِھو عھد نہ ورتو ويو ھو تہ الله جي نالي تي حق کانسواءِ ٻي ڪا ڳالھ نہ چوندا. ۽ انھن پڙھيو آھي جيڪو ڪجھ اُن ۾ لکيل آھي. ۽ آخرت جو گھر بھتر آھي ڊڄڻ وارن جي لاءِ، ڇا توھان نہ ٿا سمجھو. ۽ جن ماڻھن خدا جي ڪتاب کي مضبوطي سان پڪڙيو آھي ۽ نماز قائم ڪن ٿا، بيشڪ اسان اصلاح ڪرڻ وارن جو اجر ضايع نہ ڪنداسون. ۽ جڏھن اسان جبل کي ڪٽي انھن جي مٿان ڪيو ڄڻ اُھو ڇتي (سائبان) ھجي ۽ انھن گمان ڪيو تہ اُھو انھن تي ڪِري پوندو. جيڪا شيءِ (ڪتاب) اسان اوھان کي ڏني آھي ان کي قابو جھليو ۽ ياد رکو جيڪو ان ۾ آھي تہ جيئن اوھين بچو. ١٦٩-١٧١

حضرت موسیٰ عليہ السلام جي زماني ۾ يھودين کي جڏھن خدائي احڪام ڏنا ويا تہ اُھا ڪارروائي جبل

وٽ ٿي هئي. ان وقت اهڙيون حالتون پيدا ڪيون ويون جو يهودين کي محسوس ٿيو ته جبل انهن جي مٿان ڃڻ ته ڪِرڻ وارو آهي. اِهو ان ڳالهه جو اظهار هو ته خدا سان عهد ٻَڌڻ جو معاملو بيحد سنگين معاملو آهي. جيڪڏهن توهان ان جي تقاضن کي پورو نه ڪيو ته ياد رکو هِن عهد جي ٻي ڌُر اُها عظيم هستي آهي، جيڪا چاهي ته جبل کي توهان جي مٿان ڪيرائي توهان کي هلاڪ ڪري ڇڏي.

ان وقت يهودين ۾ وڏو تعداد اهڙن ماڻهن جو هو جيڪي الله کان ڊڄڻ ۽ نيڪ عمل ڪرڻ وارا هئا. پر پوءِ آهستي آهستي انهن دنيا کي پنهنجو مقصد بڻائي ورتو. اُهي جائز ۽ ناجائز جو فرق ڪرڻ بنا مال جمع ڪرڻ ۾ لڳي ويا. آسماني ڪتاب کي هاڻي به هو پڙهندا هئا، پر ان جي تعليم جون هٿ ٺوڪيون تاويلون ڪِري ان کي انهن اهڙو بڻائي ورتو هو ته خدا به انهن کي پنهنجي سرڪشي واري زندگي جو حامي نظر اچڻ لڳو. انهن جي ٻي حسي ايستائين وڌي وئي جو اُهي اِهو چئي مطمئن ٿي ويا ته اسان چونڊيل اُمت آهيون. اسان نبين جي اولاد آهيون. خدا پنهنجي محبوب ٻانهن جي صدقي اسان کي ضرور بخشي ڇڏيندو.

اِهو ئي واقعو هر نبي جي اُمت سان پيش ايندو آهي. شروعاتي دور ۾ انهن جا فرد خدا کان ڊڄڻ وارا ۽ نيڪ عمل ڪرڻ وارا هوندا. پر پوءِ اچڻ وارين نسلن مان اهو روح نڪري ويندو آهي. اُهي ٻين دنيادار ماڻهن وانگر ٿي ويندا آهن. اُنهن جي وچ ۾ اجا به دين موجود هوندو آهي. خدا جو ڪتاب اجا به انهن وٽ پڙهيو ۽ پڙهايو ويندو آهي، پر اِهو سڀ قومي وراثت جي طور تي هوندو آهي نه وري عهد خداوندي طور تي. اُهي عملاً آخرت کي وساري دنيا پرستي جي راهه تي هلي پوندا آهن. اُهي صحيح ۽ غلط کان بي نياز ٿي پنهنجن خواهشن کي پنهنجو مذهب بڻائي وٺندا آهن. پر اُن سان گڏ انهن کي اهو به فخر هوندو آهي ته اُهي افضل اُمت آهن. اُهي خدا جا محبوب اُمتي آهن. اُهي آسماني ڪتاب جا وارث آهن. ڪلمه توحيد جي برڪت سان اُهي ضرور بخشيا ويندا.

پر اصل شيءِ اِها آهي ته ماڻهو خدا جي ڪتاب کي مضبوطي سان پڪڙي. هو نماز قائم ڪري ۽ ڪتاب الٰهي کي پڪڙڻ ۽ نماز کي قائم ڪرڻ جو معيار اِهو آهي ته ماڻهو "اصلاح ڪرڻ وارو" بڻجي ويو هجي. خدا جي ڪتاب سان تعلق ۽ خدا جي عبادت ڪرڻ ماڻهو کي اصلاح ڪندڙ بڻائيندا آهن، نه وري فساد ڪندڙ.

ﯚ وَ اِذۡ اَخَذَ رَبُّكَ مِنۡۢ بَنِيۡۤ اٰدَمَ مِنۡ ظُهُوۡرِهِمۡ ذُرِّيَّتَهُمۡ وَ اَشۡهَدَهُمۡ عَلٰۤى اَنۡفُسِهِمۡ اَلَسۡتُ
بِرَبِّكُمۡ ؕ قَالُوۡا بَلٰى ۛۚ شَهِدۡنَا ۛۚ اَنۡ تَقُوۡلُوۡا يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ اِنَّا كُنَّا عَنۡ هٰذَا غٰفِلِيۡنَ ﴿۱۷۲﴾ اَوۡ
تَقُوۡلُوۡۤا اِنَّمَاۤ اَشۡرَكَ اٰبَآؤُنَا مِنۡ قَبۡلُ وَ كُنَّا ذُرِّيَّةً مِّنۡۢ بَعۡدِهِمۡ ۚ اَفَتُهۡلِكُنَا بِمَا فَعَلَ
الۡمُبۡطِلُوۡنَ ﴿۱۷۳﴾ وَكَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الۡاٰيٰتِ وَلَعَلَّهُمۡ يَرۡجِعُوۡنَ ﴿۱۷۴﴾

۽ جڏهن تنهنجي رب آدم جي اولاد جي پٺين مان سندن اولاد کي ڪڍيو ۽ انهن کي خود پنهنجو پاڻ تي شاهد بڻايو. ڇا آئون توهان جو رب نه آهيان. انهن چيو ها، اسان اقرار ڪريون ٿا. اِهو انهي ڪري هو ته جيئن توهان قيامت جي ڏينهن ايئن نه چئو ته اسان کي ته اُن جي خبر نه هئي. يا وري ايئن چئو ته اسان جي ابن ڏاڏن اسان کان

اڳ ۾ شرڪ ڪيو هو ۽ اسان ته انهن جي پوءِ وارين نسلن مان هئاسون، ته پوءِ ڇا تون جيڪي انهن باطل پرستن ڪيو انهن جي ڪري اسان کي هلاڪ ڪندين. ۽ اهڙي طرح اسين پنهنجون نشانيون کولي بيان ڪريون ٿا ته جيئن هو رجوع ڪن. ١٧٢-١٧٤

---

هڪ جانور کي اُن جي ماءُ پيءُ کان الڳ ڪري ڇڏجي ۽ اُن جي پرورش بلڪل الڳ ماحول ۾ ڪجي تڏهن به وڏو ٿي اُهو مڪمل طور تي پنهنجي نسلي خاصيتن تي قائم رهندو آهي. هو سڀني معاملن ۾ بالڪل اهوئي طريقو اختيار ڪندو آهي جيڪو ان جي جبلت (Instinct) ۾ داخل ٿيل آهي. اهو معاملو انسان جو ”رب جي شعور“ جي معاملي ۾ آهي. انسان جي روح ۾ هڪ خالق ۽ مالڪ جو شعور ايتري گهرائي سان ڇمايو ويو آهي جو اُهو ڪنهن حال ۾ به ان کان جدا نه ٿيندو آهي. موجوده زماني ۾ هڪ لحاظ کان روس ۽ ٻئي لحاظ کان ترڪي جو تجربو ٻڌائي ٿو ته مڪمل طور تي مذهب جي مخالف ماحول ۾ تربيت پائڻ جي باوجود انسان جي فطرت بلڪل اِهائي باقي رهندي آهي، جيڪا مذهب جي اقرار وري ماحول ۾ هميشه هوندي آهي.

جيئن ته جانور ۽ انسان ۾ هڪ فرق آهي. جانور پنهنجي فطرت جي خلاف ورزي تي قادر نه آهي. اُهي مجبور آهن ته عملاً به اُهوئي ڪن، جيڪو انهن جي فطرت انهن کي سبق ڏئي رهي آهي. ان جي ابتڙ انسان جو حال اِهو آهي ته فطرت جي شعور جي حد تائين پابند هئڻ جي باوجود عمل جي معاملي ۾ اُهو پوري طرح آزاد آهي. جڏهن به ڪا ڳالهه سامهون ايندي آهي ته ان جو عقل ۽ ان جو ضمير اندر مان اشارو ڪندا آهن ته صحيح ڇا آهي ۽ غلط ڇا آهي. پر ان جي باوجود انسان کي اختيار آهي ته هُو چاهي ته پنهنجي اندروني آواز جي پيروي ڪري، چاهي ان کي نظر انداز ڪري پنهنجي مرضي جي ڪارروائي ڪرڻ لڳي.

اهوئي اُهو مقام آهي جتي انسان جو امتحان ٿي رهيو آهي ۽ ان ئي تي جنت ۽ جهنم جو فيصلو ٿيڻو آهي. جيڪو ماڻهو خدائي آواز تي ڪن لڳائي ۽ اهوئي ڪري جيڪو خدا فطرت جي خاموش زبان ۾ ان کي چئي رهيو آهي، اُهو امتحان ۾ پورو لٿو. ان جي مرڻ ڪانپوءِ ان جي لاءِ جنت جا دروازا کوليا ويندا ۽ جيڪو شخص فطرت جي سطح تي نشر ٿيڻ واري خدائي آواز کي نظر انداز ڪري ڇڏي، اُهو خدا جي نظر ۾ مجرم آهي. ان کي مرڻ ڪانپوءِ جهنم ۾ وڌو ويندو. خدا به ان کي نظر انداز ڪري ڇڏيندو جهڙي طرح ان خدا جي آواز کي نظر انداز ڪيو هو. فطرت جو اهو آواز هر ماڻهو لاءِ خدا جو دليل آهي. هاڻي ڪنهن وٽ نه ڪو بي خبري جو عذر آهي ۽ نه ڪو هو اهو چئي سگهي ٿو ته ماضي کان جيڪو ٿيندو پئي آيو، اُهوئي اسان به ڪرڻ ۾ لڳي وياسون. جڏهن انسان ڄمڻ کان ئي خدا جو شعور وٺي ايندو آهي ۽ ماحول جي ابتڙ ان ئي شعور کي هميشه باقي به رکندو آهي ته پوءِ ڪنهن ماڻهو وٽ بي راهه ٿيڻ جو ڪهڙو عذر آهي.

وَ اتۡلُ عَلَيۡهِمۡ نَبَاَ الَّذِيۡۤ اٰتَيۡنٰهُ اٰيٰتِنَا فَانۡسَلَخَ مِنۡهَا فَاَتۡبَعَهُ الشَّيۡطٰنُ فَكَانَ مِنَ
الۡغٰوِيۡنَ﴿۱۷۵﴾ وَ لَوۡ شِئۡنَا لَرَفَعۡنٰهُ بِهَا وَ لٰكِنَّهٗۤ اَخۡلَدَ اِلَى الۡاَرۡضِ وَ اتَّبَعَ هَوٰىهُ ۚ فَمَثَلُهٗ
كَمَثَلِ الۡكَلۡبِ ۚ اِنۡ تَحۡمِلۡ عَلَيۡهِ يَلۡهَثۡ اَوۡ تَتۡرُكۡهُ يَلۡهَثۡ ؕ ذٰلِكَ مَثَلُ الۡقَوۡمِ الَّذِيۡنَ

كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا‌ ۚ فَاقۡصُصِ الۡقَصَصَ لَعَلَّهُمۡ يَتَفَكَّرُوۡنَ ﴿۱۷۶﴾ سَآءَ مَثَلَا ۨالۡقَوۡمُ الَّذِيۡنَ
كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا وَاَنۡفُسَهُمۡ كَانُوۡا يَظۡلِمُوۡنَ ﴿۱۷۷﴾ مَنۡ يَّهۡدِ اللّٰهُ فَهُوَ الۡمُهۡتَدِىۡ‌ ۚ وَمَنۡ يُّضۡلِلۡ
فَاُولٰٓـئِكَ هُمُ الۡخٰسِرُوۡنَ ﴿۱۷۸﴾

۽ هنن کي ان ماڻهو جو حال ٻڌاءِ جنهن کي اسان پنهنجون آيتون ڏنيون هيون، پر هو انهن کان نڪري ويو. پوءِ شيطان ان جي پنيان لڳي ويو ۽ اُهو گمراهن مان ٿي ويو ۽ جيڪڏهن اسان چاهيون ها ته ان کي هنن آيتن جي ذريعي بلندي عطا ڪريون ها، پر اُهو ته زمين ڏانهن جُهڪي پيو ۽ پنهنجي خواهشن جي پيروي ڪرڻ لڳو. پوءِ ان جو مثال ان ڪُتي وانگر آهي جيڪڏهن تون ان تي بار رکين تڏهن به سهڪي ۽ جيڪڏهن ڇڏي ڏين ته به سهڪي. اِهو مثال انهن ماڻهن جو آهي جن اسان جي نشانين کي ڪوڙو ڄاتو. پوءِ تون اِهو احوال انهن کي ٻڌاءِ ته جيئن اُهي سوچين. ڪهڙو نه بڇڙو مثال آهي انهن ماڻهن جو جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڄاتو ۽ اُهي پنهنجو ئي نقصان ڪندا رهيا. الله جنهن کي راهه ڏيکاري اهوئي راهه پائڻ وارو هوندو آهي ۽ جن کي هو گمراهه ڪري ڇڏي ته اُهي خسارو کڻڻ وارا آهن. ١٧٥-١٧٨

---

رسول اللهﷺ جي زماني ۾ هڪ ماڻهو اميه بن ابي الصلت هو. اعليٰ انساني صفتن سان گڏ هو حڪيماڻي ڪلام ۾ به اعليٰ درجو رکندو هو. ان کي جڏهن معلوم ٿيو ته عيسائين ۽ يهودين جي ڪتابن ۾ هڪ پيغمبر جي اچڻ جون اڳڪٿيون موجود آهن ته ان کي گمان ٿيو ته شايد اُهو پيغمبر آئون ئي آهيان. بعد ۾ جڏهن ان کي رسول اللهﷺ جي نبوت جي دعويٰ جي خبر ملي ۽ هُن پاڻﷺ جو اعليٰ ڪلام ٻڌو ته ان کي سخت مايوسي ٿي. هو پيغمبر اسلام جو مخالف بڻجي ويو. اميه بن ابي الصلت کي خدا جيڪي اعليٰ خاصيتون ڏنيون هيون، انهن جو صحيح استعمال اهو هُو ته هُو خدا جي پيغمبر کي سڃاڻي ۽ ان جو ساٿي بڻجي ها، پر خدا جي نوازشن سان اُن پنهنجو اِهو ذهن ٺاهيو ته هاڻي خدا کي مون ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي تي پنهنجو فضل نه ڪرڻ کپي. پيغمبر خدا کي نه مڃڻ ۾ ان کي دنياوي فائدو نظر ايندو هو، ان جي ابتڙ پاڻﷺ کي مڃڻ ۾ آخرت جو فائدو هو. اُن آخرت جي مقابلي ۾ دنيا کي ترجيح ڏني. هو جيڪڏهن اعتراف جي رخ تي هلي ها ته هُو فرشتن کي پنهنجو هم سفر بڻائي ها. پر جڏهن هُو حسد ۽ تڪبر جي رستي تي هلي پيو ته اتي شيطان ڪانسواءِ ڪو بيو نه هو جيڪو ان جو ساٿ ڏي. اِهو مثال انهن سڀني ماڻهن تي ٺهڪي اچي ٿو، جيڪي حسد ۽ تڪبر جي ڪري سچائي کي نظر انداز ڪن يا ان کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏين.

ڪنهن ماڻهو جو اِيئن بڻجي وڃڻ خود کي انسانيت جي مقام تان ڪيرائي ڪُتي جي مقام تي پهچائي ڇڏڻ آهي. ڪُتو سٺي سلوڪ تي به سهڪي ٿو ۽ بري سلوڪ تي به. اهوئي حال اهڙي ماڻهو جو آهي. خدا جڏهن ان کي ڏنو تڏهن به هُن اُن مان سرڪشي جي غذا ورتي ۽ جڏهن نه ڏنو تڏهن به اُهو سرڪش ٿي بڻيل رهيو. حالانڪ ٿيڻ ايئن کپي ها ته جڏهن خدا ان کي ڏنو هو ته هُو ان جو احسانمند ٿئي ها ۽ جڏهن خدا نه ڏنو ته هو خدا جي تقسيم تي راضي رهي ڪري ان ڏانهن رجوع ڪري ها.

ڪنهن کي رستو ڏيکارڻ جي لاءِ خدا پاڻ سامهون نه ٿو اچي، بلڪ هُو نشانين (دليل) جي صورت ۾ پنهنجو رستو ماڻهن تي کوليندو آهي. جن ماڻهن جي اندر اِها صلاحيت هجي جو اُهي دليلن

۽ نشانين جي روپ ۾ ظاهر ٿيڻ واري حق کي سچاڻي وٺن ۽ پنهنجي پاڻ کي ان جي حوالي ڪرڻ تي راضي ٿي وڃن. اُهي ئي هن دنيا ۾ هدايت پائڻ وارا هوندا آهن ۽ جيڪي ماڻهو دليلن ۽ نشانين کي اهميت نہ ڏين، انهن جي لاءِ هميشہ جي بربادي کانسواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ آهي.

وَ لَقَدْ ذَرَاْنَا لِجَهَنَّمَ كَثِيْرًا مِّنَ الْجِنِّ وَ الْاِنْسِ ۖ لَهُمْ قُلُوْبٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ بِهَا ۡ وَ لَهُمْ
اَعْيُنٌ لَّا يُبْصِرُوْنَ بِهَا ۡ وَ لَهُمْ اٰذَانٌ لَّا يَسْمَعُوْنَ بِهَا ؕ اُولٰٓئِكَ كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّ ؕ
اُولٰٓئِكَ هُمُ الْغٰفِلُوْنَ ﴿۱۷۹﴾ وَ لِلّٰهِ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى فَادْعُوْهُ بِهَا ۪ وَ ذَرُوا الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ
فِيْٓ اَسْمَآئِهٖ ؕ سَيُجْزَوْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۸۰﴾ وَ مِمَّنْ خَلَقْنَآ اُمَّةٌ يَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ وَ بِهٖ
۲۲ ع ۱۲ يَعْدِلُوْنَ ﴿۱۸۱﴾ وَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا سَنَسْتَدْرِجُهُمْ مِّنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۸۲﴾ وَ اُمْلِيْ
لَهُمْ ؕ اِنَّ كَيْدِيْ مَتِيْنٌ ﴿۱۸۳﴾

۽ اسان جنن ۽ انسانن مان گهڻن کي دوزخ جي لاءِ پيدا ڪيو آهي. انهن جون دليون آهن جن سان اُهي سمجهن نہ ٿا، انهن جون اکيون آهن جن سان اُهي ڏسن نہ ٿا. انهن جا ڪن آهن جن سان هو ٻڌن نہ ٿا. اُهي ڍورن وانگر آهن بلڪ ان کان بہ وڌيڪ بي راهہ. اِهي ئي غافل ماڻهو آهن. ۽ الله جي لاءِ آهن سڀ سٺا نالا. تنهن ڪري ڪيس انهن سان پڪاريو ۽ انهن ماڻهن کي ڇڏي ڏيو جيڪي سندس نالن ۾ ڏنگائي پيدا ڪندا آهن. اِهي پنهنجي ڪئي جو بدلو ضرور پائيندا ۽ اسان جن کي پيدا ڪيو آهي انهن مان هڪ جماعت اهڙي آهي جيڪا حق جي مطابق فيصلو ڪندي آهي ۽ جن ماڻهن اسان جي نشانين کي ڪوڙو ڀانئيو، اسان انهن کي آهستي آهستي پڪڙيندا سين اهڙي جاءِ کان جتان انهن کي گمان بہ نہ هوندو. ۽ آئون انهن کي مهلت ڏيان ٿو، بيشڪ منهنجي رٿ تمام مضبوط آهي. ١٧٩-١٨٣

سچائي هڪ اهڙي شيءِ آهي، جنهن کي هر ماڻهو کي پاڻ حاصل ڪرڻو پوي ٿو. خدا هر ماڻهو کي دل ۽ اک ۽ ڪن ڏنا آهن. ماڻهو انهن صلاحيتن کي استعمال ڪري سچائي کي حاصل ڪندو آهي ۽ جيڪو ماڻهو انهن صلاحيتن کي استعمال نہ ڪري، اُهو يقينًا سچائي کي پائڻ کان محروم رهجي ويندو، چاهي سچائي ان کي ڪيتري بہ قريب هجي.

سچائي کي حاصل ڪرڻ هر ماڻهو جو هڪ شعوري ۽ پنهنجي ارادي وارو هڪ فعل آهي. سچائي کي اُهو ماڻهو سمجهي سگهي ٿو، جنهن پنهنجي دل جو دروازو اُن جي لاءِ کولي رکيو هجي. ان کي اُهوئي ڏسي سگهي ٿو، جنهن پنهنجن اکين تي مصنوعي پردا نہ وڌا هجن. ان جو آواز ان ئي کي ٻڌڻ ۾ اچي سگهي ٿو، جنهن پنهنجي ڪن ۾ ڪپهہ نہ لڳائي رکي هجي. اِهڙا ماڻهو سچائي جي آواز کي سڃاڻي ان جي اڳيان پاڻ کي جهڪائي ڇڏيندا آهن ۽ جنهن ماڻهوءَ جو معاملو ان جي ابتڙ هجي، اُهو ڍور وانگر نا سمجھ ئي رهجي ويندو. جبل جيترن دليلن جو وزن محسوس ڪرڻ بہ ان جي لاءِ ممڪن نہ هوندو. ان جي سامهون خدا جو تجليون ظاهر ٿينديون، پر اُهو انهن کي ڏسڻ کان عاجز هوندو. ان وٽ خدا جو نغمو ڇيڙيو ويندو، پر هو ان کي ٻڌڻ کان محروم رهندو. سچائي هميشہ بيدار ماڻهن کي ملندي

آهي. غافلن جي لاءِ ڪا سچائي نہ آهي.

خدا جي باري ۾ انسان جي گمراهہ ٿيڻ جي وجهہ اڪثر اِها هوندي آهي تہ هو خدا کي ميجيندي بہ پنهنجي ذهن ۾ خدا جي غلط تصوير ٺاهي وٺندو آهي. اُهو خدا ڏانهن اهڙيون ڳالهيون منسوب ڪري ڇڏيندو آهي جيڪي اُن جي شايان شان نہ هونديون آهن. مثلاً انسانن جي حالت تي قياس ڪري خدا جي (مقرب ٻانهن) جو عقيدو ٺاهي وٺڻ. بادشاهن کي ڏسي ڪري اُهو فرض ڪري وٺڻ تہ جهڙي طرح بادشاهن جا نائب ۽ مددگار هوندا آهن، اهڙي طرح خدا جا بہ نائب ۽ مددگار آهن. خدائي فيصلي جي باري ۾ اِهڙو خيال قائم ڪري وٺڻ جنهن ۾ ماڻهوءَ جون پنهنجي خواهشون تہ پوري ٿي رهيون هجن، پر اُهو خيال خدا جي عدل سان مطابق نہ رکندو هجي. اِها خدا جي نالن ۾ ڏنگائي ڪرڻ آهي جو خدا ڏانهن اهڙيون ڳالهيون منسوب ڪيون وڃن جيڪي ان جي عظمت ۽ شان جي مطابق نہ هجن.

خدا ڪنهن ماڻهو جي سرڪشي تي فوراً ان کي نہ ٿو پڪڙي. اهڙي طرح ان کي موقعو ڏنو ويندو آهي تہ هو يا تہ خدا جي تنبيهہ کي ڏسي هوشيار ٿي وڃي يا وڌيڪ بي حيا ٿي پنهنجي جرم کي پوري طرح ثابت ڪري ڇڏي.

اَوَ لَمۡ يَتَفَكَّرُوۡا ٜ مَا بِصَاحِبِهِمۡ مِّنۡ جِنَّةٍ ؕ اِنۡ هُوَ اِلَّا نَذِيۡرٌ مُّبِيۡنٌ ﴿١٨٤﴾ اَوَ لَمۡ يَنۡظُرُوۡا فِيۡ
مَلَكُوۡتِ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ وَ مَا خَلَقَ اللّٰهُ مِنۡ شَيۡءٍ ۙ وَّ اَنۡ عَسٰۤى اَنۡ يَّكُوۡنَ قَدِ
اقۡتَرَبَ اَجَلُهُمۡ ۚ فَبِاَيِّ حَدِيۡثٍۭ بَعۡدَهٗ يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿١٨٥﴾ مَنۡ يُّضۡلِلِ اللّٰهُ فَلَا هَادِيَ لَهٗ ؕ وَ
يَذَرُهُمۡ فِيۡ طُغۡيَانِهِمۡ يَعۡمَهُوۡنَ ﴿١٨٦﴾ يَسۡـَٔلُوۡنَكَ عَنِ السَّاعَةِ اَيَّانَ مُرۡسٰهَا ؕ قُلۡ اِنَّمَا
عِلۡمُهَا عِنۡدَ رَبِّيۡ ۚ لَا يُجَلِّيۡهَا لِوَقۡتِهَاۤ اِلَّا هُوَ ۛؕ ثَقُلَتۡ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ ؕ لَا تَاۡتِيۡكُمۡ وقف منزل وقف لازم
اِلَّا بَغۡتَةً ؕ يَسۡـَٔلُوۡنَكَ كَاَنَّكَ حَفِيٌّ عَنۡهَا ؕ قُلۡ اِنَّمَا عِلۡمُهَا عِنۡدَ اللّٰهِ وَ لٰكِنَّ اَكۡثَرَ النَّاسِ
لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿١٨٧﴾ قُلۡ لَّاۤ اَمۡلِكُ لِنَفۡسِيۡ نَفۡعًا وَّ لَا ضَرًّا اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ؕ وَ لَوۡ كُنۡتُ اَعۡلَمُ
مع الۡغَيۡبَ لَا سۡتَكۡثَرۡتُ مِنَ الۡخَيۡرِ ۖۚ وَ مَا مَسَّنِيَ السُّوۡٓءُ ۛۚ اِنۡ اَنَا اِلَّا نَذِيۡرٌ وَّ بَشِيۡرٌ لِّقَوۡمٍ
ع ٢٣ ٧ ١٣ يُّؤۡمِنُوۡنَ ﴿١٨٨﴾

ڇا انهن ماڻهن غور نہ ڪيو تہ سندن ساٿيءَ کي ڪو بہ جنون نہ آهي. هو تہ هڪ پڌرو ڊيڄارڻ وارو آهي. ڇا انهن آسمانن ۽ زمين جي نظام تي نظر نہ ڪئي ۽ هر شيءِ تي جيڪا بہ الله خلقي آهي ۽ اُن ڳالهہ تي تہ شايد سندن وقت قريب اچي ويو هجي. پوءِ پلا اُهي ان کان پوءِ ڪهڙي ڳالهہ تي ايمان آڻيندا. جنهن کي الله گمراهہ ڪري تہ اُن کي ڪو راهہ ڏيکارڻ وارو نہ آهي. ۽ هو انهن کي سندن سرڪشي ۾ ڀٽڪندي ڇڏي ڏيندو آهي. اُهي تو کان قيامت جي بابت پڇن ٿا تہ اِها ڪڏهن ايندي، چؤ تہ اُن جو علم منهنجي رب وٽ ئي آهي. اُهوئي ان جي وقت تي ان کي ظاهر ڪندو. اُها ڳري ٿي رهي آهي آسمانن ۽ زمين ۾. اُها جڏهن تو هان تي ايندي تہ اوچتو اچي ويندي. اُهي تو کان ايئن پڇن ٿا ڄڻ تون کو ان جي جانچ رکندڙ آهين. چئو ان جو علم تہ صرف الله ئي وٽ آهي، پر

اڪثر ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن. چؤ تہ آئون تہ پنهنجي جان جي نفعي ۽ نقصان جو بہ مالڪ نہ آهيان پر جيڪو الله چاهي. ۽ جيڪڏهن آئون غيب کي ڄاڻيندڙ هجان ها تہ گهڻائي فائدا پنهنجي لاءِ حاصل ڪري وٺان ها ۽ مون کي ڪو بہ نقصان نہ پهچي ها. آئون تہ رڳو هڪ ڊيڄارڻ وارو ۽ خوشخبري ٻڌائڻ وارو آهيان انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي منهنجي ڳالهہ مڃن. ١٨٤-١٨٨

---

بامقصد ماڻهوءَ جي سيني کان وڏي خاصيت اِها آهي جو هو غير مصلحت پسند انسان هوندو آهي. هو وقت جي رواج کان مٿانهون ٿي سوچيندو آهي. هو ماحول جي مصلحتن کان بي پرواهہ ٿي پنهنجو ڪم ڪندو آهي. هو هڪ اهڙي مقصد خاطر پنهنجي جان، مال ۽ سڀ ڪجهہ قربان ڪري ڇڏيندو آهي، جنهن جو ڪو نتيجو بظاهر هِن دنيا ۾ ملڻ وارو نہ آهي. اِهوئي سبب آهي تہ بامقصد ماڻهو کي اڪثر پنهنجي زماني جي ساڃين طرفان جيڪو سڀني کان وڏو خطاب ملندو آهي اُهو ”مجنون“ آهي. خدا جو پيغمبر پنهنجي وقت جو سيني کان وڏو بامقصد انسان هوندو آهي. ان ڪري خدا جي پيغمبرن کي هر زماني جي ماڻهن اِهوئي چيو تہ اِهي مجنون ٿي ويا آهن.

خدا جي دين جي داعي کي مجنون چوڻ سيني ظلمن مان وڏو ظلم آهي. ڇاڪاڻ تہ اُهو جنهن پيغام کي کڻي ايندو آهي، اُهو هڪ اهڙو پيغام آهي جنهن جي تصديق سڄي زمين ۽ آسمان ڪري رهيا آهن. هو اهڙي خدا ڏانهن سڏيندو آهي جيڪو پنهنجي ڪائناتي تخليق ۾ هر طرف انتهائي حد تائين نمايان آهي. هو اِهڙي آخرت جي خبر ڏيندو آهي جيڪا زمين ۽ آسمان ۾ اهڙي طرح سنگين حقيقت بڻيل آهي، جهڙي طرح ماءُ جي پيٽ ۾ پورو حمل. ماڻهو حق جي باري ۾ سنجيده نہ آهن، ان ڪري حق جي خاطر جان کپائڻ وارو انهن کي مجنون ڏسڻ ۾ ايندو آهي. جيڪڏهن اُهي حق جي قدر ۽ قيمت کي ڄاڻن ها تہ ڪڏهن بہ ايئن نہ چون ها.

”قيامت ڪهڙي تاريخ تي ايندي“، اهڙي قسم جا سوال غير سنجيده ذهن مان نڪتل سوال آهن. قيامت کي مڃڻ جو انحصار قيامت جي حق ۾ اصولي دليل تي آهي نہ وري ان ڳالهہ تي تہ قيامت جي تاريخ مقرر صورت ۾ ٻڌائي وڃي. جڏهن تہ هي دنيا دارالامتحان آهي، تنهنڪري هِتي قيامت کي تنبيهہ جي زبان ۾ ٻڌايو نہ وري حسابي زبان ۾.

هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ وَّ جَعَلَ مِنْهَا زَوْجَهَا لِيَسْكُنَ اِلَيْهَا ۚ فَلَمَّا
تَغَشّٰىهَا حَمَلَتْ حَمْلًا خَفِيْفًا فَمَرَّتْ بِهٖ ۚ فَلَمَّآ اَثْقَلَتْ دَّعَوَا اللّٰهَ رَبَّهُمَا لَئِنْ اٰتَيْتَنَا
صَالِحًا لَّنَكُوْنَنَّ مِنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿١٨٩﴾ فَلَمَّآ اٰتٰىهُمَا صَالِحًا جَعَلَا لَهٗ شُرَكَآءَ فِيْمَآ اٰتٰىهُمَا ۚ
فَتَعٰلَى اللّٰهُ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿١٩٠﴾ اَيُشْرِكُوْنَ مَا لَا يَخْلُقُ شَيْـًٔا وَّ هُمْ يُخْلَقُوْنَ ﴿١٩١﴾ وَ لَا
يَسْتَطِيْعُوْنَ لَهُمْ نَصْرًا وَّ لَآ اَنْفُسَهُمْ يَنْصُرُوْنَ ﴿١٩٢﴾ وَ اِنْ تَدْعُوْهُمْ اِلَى الْهُدٰى لَا
يَتَّبِعُوْكُمْ ؕ سَوَآءٌ عَلَيْكُمْ اَدَعَوْتُمُوْهُمْ اَمْ اَنْتُمْ صَامِتُوْنَ ﴿١٩٣﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ
دُوْنِ اللّٰهِ عِبَادٌ اَمْثَالُكُمْ فَادْعُوْهُمْ فَلْيَسْتَجِيْبُوْا لَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٩٤﴾

اُهوئي آهي جنهن اوهان کي پيدا ڪيو هڪ جان مان ۽ ان مان ئي بڻايو ان جو جوڙو ته جيئن ان مان سڪون حاصل ڪري. پوءِ جڏهن مرد عورت کي ڍڪيو ته ان کي هڪ هلڪو حمل رهجي ويو. پوءِ هُو ان کي کڻي ڦرندي رهي. پوءِ جڏهن هُو ڳري ٿي وئي ته ٻنهي ملي پنهنجي رب الله کان دعا گهري، جيڪڏهن تو اسان کي تندرست اولاد ڏنو ته اسان تنهنجا شڪر گذار رهنداسون. پر جڏهن الله انهن کي تندرست اولاد عطا فرمايو ته اُهي ان جي بخشيل شيءِ ۾ ٻين کي ان جو شريڪ ڪرڻ لڳا. الله ته مٿانهون آهي انهن شرڪ وارين ڳالهين کان جن کي اِهي ماڻهو ڪندا آهن. ڇا اُهي شريڪ ڪن ٿا اِهڙن کي جيڪي ڪابه شيءِ پيدا نه ٿا ڪن، بلڪ اُهي خود مخلوق آهن ۽ نه اُهي سندن ڪنهن قسم جي مدد ڪري سگهن ٿا ۽ نه ئي وري خود پنهنجي مدد ڪري سگهن ٿا ۽ جيڪڏهن توهان انهن کي هدايت ڏانهن سڏيندو ته اُهي توهان جي سڏتي نه هلندا. برابر آهي چاهي توهان انهن کي سڏيو يا توهان خاموش رهو. جن کي توهان الله کانسواءِ پڪاريو ٿا اُهي توهان جهڙا ئي ٻانها آهن، پوءِ توهان انهن کي پڪاريو، ته اُهي توهان کي جواب ڏين جيڪڏهن توهان سچا آهيو. ١٨٩-١٩٤

---

ڪائنات پنهنجي خالق جو جيڪو تعارف ڪرائي ٿي، اُهو اهڙو تعارف آهي جيڪو ڪنهن به حال ۾ شرڪ جي تصور کي قبول نه ٿو ڪري. ڪائنات ۾ بيشمار جز الڳ الڳ ملندا آهن. پر سيئي جز ملي ڪري هڪ هم آهنگ ڪُل بڻجي ويندا آهن. انهن ۾ ڪنهن به قسم جو ضد يا ٽڪراءُ نه هوندو آهي. اِها ڪامل هم آهنگي ان جي بغير ممڪن نٿي ٿي سگهي جو هِن دنيا جو خالق ۽ مالڪ هڪ هجي ۽ اُهوئي ان کي تنها هلائي رهيو هجي.

مرد ۽ عورت جي معاملي کي ڏسو. هڪ مرد ۽ هڪ عورت ۾ جيڪا ڪامل مطابقت هوندي آهي، اُها شايد موجود ڪائنات جو سيني کان وڏو عجيب واقعو آهي، جنهن جو تجربو هڪ ماڻهو ڪندو آهي. مرد هڪ منفرد ۽ مستقل وجود آهي ۽ عورت ان کان الڳ هڪ مستقل وجود. پر اِهي مرد ۽ عورت جڏهن زال مڙس جي حيثيت سان هڪٻئي سان ملندا آهن ته ٻنهي جو وجود اِهڙي طرح هڪٻئي ۾ شامل ٿي ويندو آهي ته انهن ۾ ڪا جدائي باقي نه ٿي رهي. هر هڪ کي ايئن محسوس ٿيندو آهي ته آئون ان جي لاءِ پيدا ڪيو ويو آهيان ۽ هو منهنجي لاءِ. ٻنهي جي وچ ۾ اِها ڪامل مطابقت ان ڳالهه جو پڌرو ثبوت آهي ته هڪ ئي ارادي ٻنهي کي پنهنجي هڪ منصوبي جي تحت خاص ڍنگ تي بڻايو آهي. ڪائنات ۾ هڪ کان وڌيڪ هستين جي ڪارفرمائي هجي ها ته ٻه مختلف ۽ متضاد شين جي وچ ۾ اِها ڪامل هم آهنگي ممڪن نه هجي ها.پر ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي ته جنهن ڪائنات ۾ توحيد جا ايترا گهڻا دليل موجود آهن، اتي ماڻهو شرڪ کي پنهنجو مذهب بڻائي ٿو. ٻن انسانن ۾ ”وحدت“ جي ڪرشمي سان هڪ ٻار جنم ورتو، پر جڏهن اُهو پيدا ٿي ويو ته ڪنهن اُهو عقيدو بڻائي ورتو ته اِهو اولاد فلاڻي زنده يا مرده بزرگ جي برڪت سان ٿيو آهي. ڪنهن ان کي فرض ڪيل ديوتائن ڏانهن منسوب ڪري ڇڏيو. ڪنهن چيو ته اُها مادي جي انڌين طاقتن جي عمل ۽ ردعمل جو نتيجو آهي. ڪنهن اُهو سمجهو ته اُها خود ان جي پنهنجي ڪمائي آهي جو هڪ خوبصورت ٻار جي صورت ۾ ان کي حاصل ٿي آهي.

اَلَهُمۡ اَرۡجُلٌ يَّمۡشُوۡنَ بِهَآ ۡ اَمۡ لَهُمۡ اَيۡدٍ يَّبۡطِشُوۡنَ بِهَآ ۡ اَمۡ لَهُمۡ اَعۡيُنٌ يُّبۡصِرُوۡنَ بِهَآ ۡ
اَمۡ لَهُمۡ اٰذَانٌ يَّسۡمَعُوۡنَ بِهَا ؕ قُلِ ادۡعُوۡا شُرَكَآءَكُمۡ ثُمَّ كِيۡدُوۡنِ فَلَا تُنۡظِرُوۡنِ ﴿١٩٥﴾ اِنَّ

وَلِيِّۦَ اللّٰهُ الَّذِیۡ نَزَّلَ الۡكِتٰبَ ۖ وَ هُوَ يَتَوَلَّى الصّٰلِحِيۡنَ ﴿١٩٦﴾ وَ الَّذِيۡنَ تَدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِهٖ لَا
يَسۡتَطِيۡعُوۡنَ نَصۡرَكُمۡ وَ لَاۤ اَنۡفُسَهُمۡ يَنۡصُرُوۡنَ ﴿١٩٧﴾ وَ اِنۡ تَدۡعُوۡهُمۡ اِلَى الۡهُدٰى لَا
يَسۡمَعُوۡا ؕ وَ تَرٰىهُمۡ يَنۡظُرُوۡنَ اِلَيۡكَ وَ هُمۡ لَا يُبۡصِرُوۡنَ ﴿١٩٨﴾

ڇا انهن کي پير آهن جن سان هو هلن. ڇا انهن کي هٿ آهن جن سان هو پڪڙين. ڇا انهن کي اکيون آهن جن سان هو ڏسن. ڇا انهن کي ڪن آهن جن سان هو ٻڌن. چئُ توهان پنهنجي شريڪن کي سڏي وٺو. پوءِ توهان سڀ منهنجي خلاف رٿون ڪريو. ۽ مون کي مهلت نہ ڏيو. بيشڪ منهنجو ڪارساز الله آهي جنهن ڪتاب نازل ڪيو آهي ۽ اُهو ڪارسازي ڪندو آهي نيڪ ٻانهن جي. ۽ جن کي اوهين پڪاريو ٿا اُن کان سواءِ، اُهي نہ توهان جي مدد ڪري سگهن ٿا ۽ نہ وري پنهنجي مدد ڪري سگهندا آهن. ۽ جيڪڏهن توهان انهن کي هدايت ڏانهن پڪاريو تہ اُهي توهان جي ڳالهہ نہ ٻڌندا ۽ تو کي نظر اچي ٿو تہ اُهي توڏانهن ڏسي رهيا آهن، پر اُهي ڪجهہ نٿا ڏسن. ١٩٥-١٩٨

---

بت پرست ماڻهو پٿر يا لوهہ وغيره جون جيڪي مورتيون ناهيندا آهن، اُن جو فلسفو ايئن بيان ڪيو ويندو آهي تہ اِهي ظاهري جسم آهن جن جي اندر انهن جو گمان ڪيل ديوتا داخل ٿي ويو آهي. انهن بتن جي پوڄا انهن جي لاءِ انهن معبودن جي پوڄا آهي جن جي اُهي بت ظاهري علامتون آهن. پر عوام جي سطح تي عملاً بت پرستي جيڪا شڪل اختيار ڪندي آهي، اُها اِها آهي تہ ماڻهو خود انهن مورتين کي مقدس سمجهڻ لڳندا آهن. اُنهن بتن ۾ نہ هلڻ جي طاقت هوندي آهي نہ پڪڙڻ جي، نہ ڏسڻ جي ۽ نہ ٻڌڻ جي. پر وهمي انسان انهن جي بابت اِهو فرض ڪري ٿو وٺي تہ اُهي اُن جي ڪم ايندا ۽ اُن جون حاجتون پوري ڪندا.

جيئن تہ هي معاملو رڳو مشهور قسم جي بتن جو نہ آهي. بلڪ انهن کان سواءِ جن شين کي انسان معبوديت جو درجو ڏيندو آهي انهن جو حال بہ اِهوئي آهي. وطن ۽ قوم کان وٺي زندهہ يا مردهہ شخصيتن تائين جن جن شين سان بہ اُهي جذبا وابستہ ڪيا ويندا آهن، جيڪي رڳو هڪ خدا جو حق آهن. انهن شين جي حقيقت ڇا آهي؟ انهن مان ڪنهن وٽ ڪا ذاتي طاقت نہ آهي. ڪوبہ پير يا هٿ يا اک وارو اهڙو نہ آهي، جنهن جا پير ۽ هٿ ۽ اکيون ان جا پنهنجا هجن. هر ”پير“ واري وٽ ڏنل پير آهن ۽ جيڪڏهن ان جا پير کسيا وڃن تہ هو انهن کي واپس نہ ٿو آڻي سگهي. هر ”هٿ“ واري وٽ ڏنل هٿ آهن ۽ جيڪڏهن ان جا هٿ باقي نہ رهن تہ هو پيهر پنهنجا هٿ نہ ٿو بڻائي سگهي. هر ”اکين“ واري وٽ ڏنل اکيون آهن ۽ جيڪڏهن ان جو اکيون هليون وڃن تہ ان جي لاءِ ممڪن نہ آهي تہ هو پيهر پنهنجي اکيون تيار ڪري.

غير الله جي پوڄا ڪرڻ وارا ماڻهو پنهنجن بتن جي ڀروسي تي هميشہ خدا پرستن تي ظلم ڪندا رهندا آهن. پر اِهي ماڻهو تمام جلد ڄاڻي وٺندا تہ خدا جي هِن دنيا ۾ انهن جو ڀروسو ڪيتري قدر بي بنياد هو. جنهن خدا جو ظهور موجوده دنيا ۾ ڪتابي ميزان جي صورت ۾ ٿيو آهي، ان جو ظهور عنقريب عدالتي ساهمي جي صورت ۾ ٿيڻ وارو آهي. ان وقت هر ماڻهو ڏسي وٺندو تہ ڪم ٺاهڻ وارو صرف خدا هُو، جيتوڻيڪ ماڻهو پنهنجي ناداني جي ڪري ٻين کي پنهنجو ڪم ٺاهڻ وارو سمجهندو رهيو.شريڪن وٽ تہ مدد ڪرڻ جي ڪا طاقت ئي نہ آهي. پر خدا پنهنجن وفادار ٻانهن جي مدد دنيا ۾ بہ ڪندو آهي ۽ آخرت ۾ بہ.

خُذِ الۡعَفۡوَ وَ اۡمُرۡ بِالۡعُرۡفِ وَ اَعۡرِضۡ عَنِ الۡجٰهِلِيۡنَ ﴿۱۹۹﴾ وَ اِمَّا يَنۡزَغَنَّكَ مِنَ الشَّيۡطٰنِ
نَزۡغٌ فَاسۡتَعِذۡ بِاللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ سَمِيۡعٌ عَلِيۡمٌ ﴿۲۰۰﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ اتَّقَوۡا اِذَا مَسَّهُمۡ طٰٓئِفٌ مِّنَ
الشَّيۡطٰنِ تَذَكَّرُوۡا فَاِذَاهُمۡ مُّبۡصِرُوۡنَ ﴿۲۰۱﴾ وَ اِخۡوَانُهُمۡ يَمُدُّوۡنَهُمۡ فِي الۡغَيِّ ثُمَّ لَا
يُقۡصِرُوۡنَ ﴿۲۰۲﴾

درگذر ڪر، نيڪي جو حڪم ڏي ۽ جاهلن کان منهن موڙ. ۽ جيڪڏهن توکي ڪو وسوسو شيطان طرفان اچي ته الله جي پناهه گهُر. بيشڪ اُهو ٻڌڻ وارو ڄاڻڻ وارو آهي. جيڪي ماڻهو ڊپ رکندا آهن جڏهن به شيطان جي اثر کان ڪو برو خيال انهن کي اچي ٿو ته اُهي يڪدم خبردار ٿي ويندا آهن ۽ انهيءَ وقت انهن کي سمجهه اچي ويندي آهي. ۽ جيڪي شيطان جا ڀائر آهن اُهي اُنهن کي گمراهي ۾ گهليندا ويندا آهن پوءِ هُو گهٽائيندا نه آهن. ١٩٩-٢٠٢

---

توحيد ۽ آخرت، نيڪي ۽ عدل ڏانهن سڏڻ ”عُرف“ ڏانهن سڏڻ آهي. يعني انهن ڀلائين ڏانهن جيڪي عقل ۽ فطرت جي مطابق ڄاتل سڃاتل آهن. پر اِهو سادو ۽ آسان ڪم هر زماني ۾ مشڪل ترين ڪم رهيو آهي. انسانن جي دنيا سان محبت جو اهو نتيجو آهي جو هر زماني ۾ ماڻهو پنهنجي زندگي جو نظام دنياوي مفاد ۽ ذاتي مصلحتن جي بنياد تي قائم ڪندا آهن، اهي حق جي نالي تي باطل پرستي جي ڪم ۾ مبتلا هوندا آهن. اِهڙي حالت ۾ جڏهن به سچائي جي خالص دعوت بلند ٿيندي آهي ته هر ماڻهو پنهنجي پاڻ تي اُن جي چوٽ پوندي محسوس ڪندو آهي. نتيجو اهو نڪرندو آهي جو هر ماڻهو ان جو مخالف بڻجي بيهي رهندو.

اِهڙي حالت ۾ داعي کي ڇا ڪرڻ کپي. ان جو هڪڙوئي جواب آهي ۽ اُهو آهي درگذر ۽ پاسو ڪرڻ. يعني ماڻهن سان الجهڻ کانسواءِ خاموشي سان پنهنجو ڪم جاري رکڻ. داعي جيڪڏهن ماڻهن جي ڇڏيل شوشن جو جواب ڏيڻ لڳي ته حق جي دعوت مناظري جي شڪل اختيار ڪري وٺندي. داعي جيڪڏهن ماڻهن طرفان ڇيڙيل غير ضروري سوالن ۾ پاڻ کي مشغول ڪري وٺي ته هو رڳو پنهنجو وقت ۽ پنهنجي طاقت کي ضايع ڪندو. داعي جيڪڏهن ماڻهن طرفان اچڻ وارين تڪليفن تي انهن سان جهگڙو ڪرڻ لڳي ته حق جي دعوت حق جي دعوت نه رهندي، بلڪ معاشي ۽ سياسي لڙائي بڻجي ويندي. ان ڪري حق جي دعوت کي ان جي اصلي صورت ۾ باقي رکڻ جي لاءِ ضروري آهي ته داعي جاهلن ۽ مخالفن جي طرفان پيش اچڻ وارين ناخوشگوارين تي صبر ڪري ۽ انهن سان الجهڻ کانسواءِ پنهنجي مثبت ڪم کي جاري رکي.

جيئن ته موجوده دنيا ۾ ڪو ماڻهو نفس ۽ شيطان جي حملن کان آجو نه ٿو رهي سگهي. اِهڙن موقعن تي جيڪا شيءِ ماڻهوءَ کي بچائيندي آهي، اهو رڳو الله جو ڊپ آهي. الله جو ڊپ ماڻهو کي بيحد حساس بڻائي ٿو ڇڏي. اِهائي حساسيت موجوده امتحان جي دنيا ۾ ماڻهو جو سيني کان وڏو بچاءُ آهي. جڏهن به ماڻهو جي اندر ڪو غلط خيال ايندو آهي يا ڪنهن قسم جي منفي نفسيات اڀرندي آهي ته ان جي حساسيت يڪدم ان کي ٻڌائي ٿي ڇڏي ته هو ٿلجي ويو آهي. هڪ لمحي جي غفلت کانپوءِ ان جي

اڪ ڪلي ٿي وڃي ۽ هو الله ڪان معافي گهرندي ڀيهر پاڻ کي درست ڪري ٿو وٺي. ان جي ابتڙ جيڪي ماڻهو الله جي خوف کان خالي هوندا آهن، انهن جي اندر شيطان داخل ٿي پنهنجو ڪم ڪندو رهي ٿو ۽ انهن کي محسوس به نه ٿو ٿئي ته شيطان جو ساٿي بڻجي اُهي ڪهڙي ڪاهيءَ ڏانهن هلندا پيا وڃن. حساسيت ماڻهو جي سيني کان وڏي محافظ آهي، جڏهن ته بي حسي ماڻهوءَ کي شيطان جي مقابلي ۾ غير محفوظ بڻائي ڇڏي ٿي.

وَ اِذَا لَمْ تَاْتِهِمْ بِاٰيَةٍ قَالُوْا لَوْ لَا اجْتَبَيْتَهَا ؕ قُلْ اِنَّمَآ اَتَّبِعُ مَا يُوْحٰٓى اِلَيَّ مِنْ رَّبِّيْ ۚ هٰذَا
بَصَآىِٕرُ مِنْ رَّبِّكُمْ وَ هُدًى وَّ رَحْمَةٌ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٢٠٣﴾ وَ اِذَا قُرِئَ الْقُرْاٰنُ فَاسْتَمِعُوْا لَهٗ
وَ اَنْصِتُوْا لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٢٠٤﴾ وَ اذْكُرْ رَّبَّكَ فِيْ نَفْسِكَ تَضَرُّعًا وَّ خِيْفَةً وَّ دُوْنَ الْجَهْرِ
مِنَ الْقَوْلِ بِالْغُدُوِّ وَ الْاٰصَالِ وَ لَا تَكُنْ مِّنَ الْغٰفِلِيْنَ ﴿٢٠٥﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ عِنْدَ رَبِّكَ لَا
يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِهٖ وَ يُسَبِّحُوْنَهٗ وَ لَهٗ يَسْجُدُوْنَ ۩ ﴿٢٠٦﴾ ع ٢٤ ١٨ ١٤ السجدة ١ الثلثة

۽ جڏهن تون انهن جي سامهون ڪا نشاني (معجزو) نه ٿو آڻين ته چوندا آهن ته تون پنهنجي طرفان ڇو نه ٿو ٺاهي آڻين. چؤ آئون ته صرف ان جي پيروي ڪندو آهيان جيڪو منهنجي رب طرفان مون ڏي وحي ڪيو ويندو آهي. هِي اِهي روشن دليل آهن توهان جي رب طرفان ۽ هدايت ۽ رحمت آهي انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي ايمان رکن ٿا. ۽ جڏهن قرآن پڙهيو وڃي ته ان کي توجه سان ٻڌو ۽ خاموش رهو، ته جيئن توهان تي رحمت ڪئي وڃي. ۽ پنهنجي رب کي صبح ۽ شام ياد ڪر پنهنجي دل ۾، عاجزي ۽ خوف سان ۽ هوريان آواز ۾ ۽ غافلن مان نه ٿيءُ. جيڪي (ملائڪ) تنهنجي رب وٽ آهن اُهي سندس عبادت کان تڪبر نه ٿا ڪن. ۽ اُهي ان جي پاڪ ذات کي ياد ڪندا آهن ۽ اُن کي ئي سجدو ڪندا آهن. ٢٠٣-٢٠٦

---

مڪي جا ماڻهو رسول اللهﷺ کي چوندا هئا ته جيڪڏهن تون خدا جو پيغمبر آهين ته خدا وٽان ڪو معجزو ڇو نه ٿو آڻين. خدا جي لاءِ تمام گهڻو آسان هو ته هُو پاڻﷺ کي معجزو ڏئي ڇڏي ها. پر ان جو نتيجو اِهو ٿئي ها ته اصل مقصد ختم ٿي وڃي ها. مثلاً فرض ڪجي ته رسول اللهﷺ جي لاءِ جديد قسم جي هڪ موٽرڪار نازل ڪئي وڃي ها، جنهن ۾ لاؤڊ اسپيڪر لڳل هجي ها. پاڻﷺ ان ۾ ويهي ماڻهن جي وچ ۾ تبليغ ڪن ها. ڏيڍ هزار سال پهرين جي حالتن ۾ اهڙي هڪ ڪار ماڻهن جي لاءِ انتهائي حيرت انگيز معجزو هجي ها. پر ان جو نقصان اهو ٿئي ها ته ماڻهن جي توجه اصل ڳالهه کان هٽي وڃي ها. اصل مقصد ته اِهو هو ته خدا جو ڪلام ماڻهن لاءِ بصيرت ۽ روشن دليل بڻجي. ان مان ماڻهن کي سوچڻ جو ڍنگ ۽ عمل جو طريقو معلوم ٿئي. ان مان روحن کي خدائي ٽڪار ملي، پر مٿي ذڪر ڪيل معجزي ڪانپوءِ اهو سڄو منصوبو ناڪام ٿي وڃي ها ۽ ماڻهو رڳو طلسماتي سواري جي عجوبي ۾ غرق ٿي وڃن ها.

ڪرامت وارين شين ۾ وڃائجي وڃڻ جو نالو دين نه آهي. دين اِهو آهي ته ماڻهو خدا جي ڪلام تي ڌيان ڏي. ان کي غور سان پڙهي ۽ توجه سان ٻڌي. ديندار هئڻ جي سڃاڻپ اِها آهي ته خدا سان ماڻهو جو

ڳهرو تعلق قائم ٿي وڃي. ان جي دل ۾ نرمي پيدا ٿئي، هو خدا کي ياد ڪرڻ وارو بڻجي وڃي. خدا جي عظمت ان جي دل ۽ دماغ تي ايئن ڇانئجي وڃي جو هو اُن جي اندر عاجزي ۽ خوف جي ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏي. خدا جو ذڪر ڪندي ان جي آواز پست ٿي وڃي، هو غفلت مان نڪري بيداريءَ جي عالم ۾ پهچي وڃي.

آخر ۾ فرشتن جو ڪردار بيان ڪيو ويو آهي. اِهو اُن ڪري ته توهان به ايئن ئي ڪريو ته جيئن فرشتن جي صحبت حاصل ٿئي. جڏهن ماڻهو پنهنجي پاڻ کي تڪبر کان پاڪ ڪندو آهي. ۽ خدا جي ڪمال سان ايترو سرشار هوندو آهي جو ان جي دل مان هر وقت ان جي ياد پلٽجندي رهندي آهي، اهڙي طرح اُهو فرشتن جو هم سطح ٿي ويندو آهي. هِن دنيا ۾ ڪنهن انسان جي ترقي جو اعليٰ ترين مقام اِهو آهي ته هو انسان هوندي به ملائڪن واري ڪردار جو حامل بڻجي وڃي. هُو دنيا ۾ رهندي فرشتن جو پاڙيسري ٿي زندگي گذارڻ لڳي.

ايَاتها ٧٥ (٨) سُوْرَةُ الْاَنْفَالِ مَدَنِيَّةٌ (٨٨) رکوعاتها ١٠

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْاَنْفَالِ ؕ قُلِ الْاَنْفَالُ لِلّٰهِ وَ الرَّسُوْلِ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَصْلِحُوْا ذَاتَ بَيْنِكُمْ ۪ وَ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗۤ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱﴾ اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَ جِلَتْ قُلُوْبُهُمْ وَ اِذَا تُلِيَتْ عَلَيْهِمْ اٰيٰتُهٗ زَادَتْهُمْ اِيْمَانًا وَّ عَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿۲﴾ ۚۖ الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَ مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿۳﴾ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا ؕ لَهُمْ دَرَجٰتٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَ مَغْفِرَةٌ وَّ رِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿۴﴾ ۚ

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

اُهي توکان انفال (مال غنيمت) بابت پڇن ٿا. چئو ته انفال الله ۽ ان جي رسول جو آهي. تنهن ڪري توهان الله کان ڊڄو ۽ پنهنجي تعلقن جي اصلاح ڪريو ۽ الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪريو، جيڪڏهن توهان ايمان رکو ٿا. ايمان وارا اُهي آهن جو جڏهن الله جو ذڪر ڪيو وڃي ته انهن جون دليون ڪنبڻ لڳن جڏهن الله جون آيتون انهن جي سامهون پڙهيون وڃن ٿيون ته اُهي انهن جو ايمان وڌائي ڇڏينديون آهن ۽ اُهي پنهنجي رب تي ڀروسو ڪندا آهن. اُهي نماز قائم ڪندا آهن ۽ جيڪو ڪجهه اسان انهن کي ڏنو آهي ان مان خرچ ڪندا آهن، اِهي ئي ماڻهو حقيقت ۾ مؤمن آهن. انهن لاءِ انهن جي رب وٽ درجا ۽ بخشش آهي ۽ انهن جي لاءِ عزت واري روزي آهي. ١-٤

---

سورت انفال جنگ بدر (٢هه) کان پوءِ نازل ٿئي. ان جنگ ۾مسلمانن کي فتح ٿي هئي ۽ ان کانپوءِ جنگ جي ميدان مان ڪافي مال غنيمت حاصل ٿيو هو. پر اِهو مال عملاً هڪ گروهه جي قبضي ۾ هو. ان ڪري جنگ کانپوءِ غنيمت جي تقسيم تي اختلاف پيدا ٿيو. جنگ ۾ ڪجهه ماڻهو پوئين صفن ۾ هئا. ڪجهه رسول اللهﷺ جي حفاظت ۾ لڳل هئا. ڪجهه ماڻهو آخري مرحلي ۾ دشمن جو پيڇو

ڪندي اڳيان نڪري ويا. اهڙي طرح جنگ جي ميدان مان مال غنيمت حاصل ڪرڻ جو موقعو هڪ خاص جماعت کي مليو. ٻيا ماڻهو جيڪي ان وقت جنگ جي ميدان کان پري هئا، اُهي دشمن جي ڇڏيل مال کي حاصل نہ ڪري سگهيا.

هاڻي صورتحال اِها هئي جو اصولي طور تي جنگ جا سڀئي شريڪ پاڻ کي مال غنيمت ۾ حصيدار سمجهندا هئا. پر مال غنيمت عملاً صرف هڪ جماعت جي قبضي ۾ هو. هڪ فريق وٽ دليل هو ۽ ٻئي فريق وٽ مال. هڪڙن وٽ پنهنجي حق کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ رڳو لفظ هئا، جڏهن تہ ٻئي جو حق ڪنهن دليل ۽ ثبوت ڪانسواءِ قبضي جي زور تي قائم هو.

اهڙي قسم جا سڀئي جهيڙا خدا جي خوف نہ هئڻ جي ڪري آهن. خدا جو خوف ماڻهو جي اندر ذميداري واري نفسيات پيدا ڪندو آهي. اِهڙي ماڻهوءَ جي توجه فرضن تي هوندي آهي نہ وري پنهنجن حقن تي. هو پاڻ ڏانهن ڏسڻ جي بجاءِ خدا ڏانهن ڏسڻ لڳندو آهي. ان جي دل خدا ۽ رسول جي اطاعت جي لاءِ نرم ٿي ويندي آهي. اُهو خدا جو عبادت گذار ٻانهو بڻجي ويندو آهي. ماڻهن کي ڏيڻ سان ان کي تسڪين ملندي آهي نہ وري ماڻهن کان کسڻ سان. اِهي صفتون ماڻهو ۾ حقيقت پسندي ۽ حق جي اعتراف جو مادو پيدا ڪنديون آهن. حقيقت پسندي ۽ حق جي اعتراف واري فضا جو لازمي نتيجو اِهو ٿيندو آهي تہ پاڻ ۾ جهيڙا ختم ٿي ويندا آهن. ۽ جيڪڏهن ڪڏهن اتفاق سان ڪو جهيڙو ٿي پوندو آهي تہ هڪ دفعي جي تنبيهہ اُنهن جي اصلاح جي لاءِ ڪافي ٿي ويندي آهي.

خدا جي پڪڙ جو انديشو هر هڪ کي اُن حد تائين پهچائي ڇڏيندو آهي جنهن حد تي اُن کي حقيقت ۾ هئڻ گهرجي ها. ۽ جتي هر ماڻهو پنهنجي حد تي رڪجي وڃڻ تي راضي ٿي وڃي اُتي جهيڙي جو امڪان نہ ٿو رهي.

كَمَآ اَخۡرَجَكَ رَبُّكَ مِنۡۢ بَيۡتِكَ بِالۡحَقِّ ۪ وَ اِنَّ فَرِيۡقًا مِّنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ لَكٰرِهُوۡنَ ۙ﴿۵﴾
يُجَادِلُوۡنَكَ فِى الۡحَقِّ بَعۡدَ مَا تَبَيَّنَ كَاَنَّمَا يُسَاقُوۡنَ اِلَى الۡمَوۡتِ وَ هُمۡ يَنۡظُرُوۡنَ ؕ﴿۶﴾ وَ اِذۡ
يَعِدُكُمُ اللّٰهُ اِحۡدَى الطَّآئِفَتَيۡنِ اَنَّهَا لَكُمۡ وَ تَوَدُّوۡنَ اَنَّ غَيۡرَ ذَاتِ الشَّوۡكَةِ تَكُوۡنُ لَكُمۡ
وَ يُرِيۡدُ اللّٰهُ اَنۡ يُّحِقَّ الۡحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ وَ يَقۡطَعَ دَابِرَ الۡكٰفِرِيۡنَ ۙ﴿۷﴾ لِيُحِقَّ الۡحَقَّ وَ يُبۡطِلَ
الۡبَاطِلَ وَ لَوۡ كَرِهَ الۡمُجۡرِمُوۡنَ ۚ﴿۸﴾

جيئن تہ تنهنجي رب توکي حق سان تنهنجي گهر مان ٻاهر آندو. ۽ مسلمانن مان هڪ جماعت کي اِهو ناگوار هو. اُهي اُن حق جي معاملي ۾ توسان جهڳڙو ڪري رهيا هئا اُن جي باوجود جو اُهو ظاهر ٿي چڪو هو، ڄڻ تہ اکين ڏٺي اُهي موت ڏانهن هڪليا پيا وڃن. جڏهن الله توهان سان وعدو ڪري رهيو هو تہ ٻن جماعتن مان هڪ توهان کي ملي ويندي. ۽ توهان چاهيو ٿي تہ بي هٿيار (ٽولي) اوهان لاءِ هجي. ۽ الله چاهيو ٿي تہ حق کي حق ثابت ڪري ڇڏي، پنهنجي حڪم سان ۽ منڪرن جي پاڙ پٽي ڇڏي تہ جيئن حق حق ٿي رهي ۽ باطل باطل ٿي رهجي وڃي، چاهي مجرمن کي ڪيتروئي ناگوار لڳي. ۵-۸

شعبان ٢ هجري ۾ معلوم ٿيو تہ قريش جو هڪ تجارتي قافلو شام کان مکي ڏانهن واپس وڃي رهيو آهي. ان قافلي سان تقريبًا ٥٠ هزار اشرفين جو سامان هو. ان جو رستو مديني جي قريب لنگهندو هو. اهو انديشو هو تہ متان مسلمان پنهنجي دشمن جي تجارتي قافلي تي حملو نہ ڪن، تنهن ڪري قافلي جي سردار ابوسفيان بن حرب تيز رفتار ڏاچي جي ذريعي مکي وارن وٽ اِها خبر موڪلي تہ مدد جي لاءِ اچو، نہ تہ مسلمان تجارتي قافلي کي لُٽي وٺندا. مکي ۾ هِن خبر سان وڏو جوش پيدا ٿي ويو. ۽ ٩٥٠ سوار جن ۾ ٦٠٠ زرهہ پوش هُئا، مکي کان نڪري مديني ڏانهن روانا ٿيا.

رسول اللهﷺ کي بہ سڀ خبرون ملي رهيون هيون. هاڻي مديني جا مسلمان ٻن جماعتن جي وچ ۾ هئا. هڪ شام کان اچڻ وارو تجارتي قافلو. ٻيو مکي کان مديني ڏانهن وڌڻ وارو جنگي لشڪر. مسلمانن جي هڪ جماعت جو اِهو اِرادو هو تہ تجارتي قافلي ڏانهن وڌڻ کپي. ان قافلي سان رڳو چاليهہ محافظ هئا. ان کي آساني سان شڪست ڏئي انهن جي سامان تي قبضو ڪري سگهجي پيو. پر خدا جو منصوبو ٻيو هو. خدا کي دراصل حق جي منڪرن جو زور ٽوڙڻو هو، نہ وري ڪجهہ اقتصادي فائدو حاصل ڪرڻ. خدا خاص حالتون پيدا ڪري ايئن ڪيو تہ سڀني مخالف سردارن کي مکي مان ڪڍي ۽ انهن کي مديني کان ويهن ميلن جي فاصلي تي بدر جي مقام تي پهچائي ڇڏيو تہ جيئن مسلمانن کي انهن سان ٽڪرائي هميشہ جي لاءِ انهن جو خاتمو ڪري ڇڏجي. الله جي رسول جڏهن مسلمانن کي خدا جي اُن منصوبي جي خبر ڏني تہ سڀ جا سڀ متفق ٿي ڪري بدر ڏانهن وڌيا. انهن جو تعداد جيتوڻيڪ رڳو ٣١٣ هو. انهن وٽ هٿيار بہ گهٽ هئا. پر الله انهن جي خاص مدد ڪئي. انهن قريش جي لشڪر کي بري طرح شڪست ڏني. انهن جا ٧٠ سردار قتل ٿيا ۽ ٧٠ گرفتار ڪيا ويا. بدر جو ميدان ڪفر جي مقابلي ۾ اسلام جي فتح جو ميدان بڻجي ويو. جڏهن بہ ايئن ٿئي تہ هڪ طرف مادي فائدو هجي ۽ ٻئي طرف ديني فائدو تہ اِها تقسيم خود ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ خدا جي مرضي ديني فائدي جي طرف آهي نہ وري مادي فائدي جي طرف.

اسلامي جدوجهد جو نشانو ڪڏهن بہ معاشي مفاد حاصل ڪرڻ نہ هوندو آهي. اسلامي جدوجهد جو نشانو هميشہ باطل جو زور ٽوڙڻ هوندو آهي. چاهي اُهو نظرياتي طاقت جي ذريعي هجي يا حالتن جي لحاظ کان مادي طاقت جي ذريعي.

اِذْ تَسْتَغِيْثُوْنَ رَبَّكُمْ فَاسْتَجَابَ لَكُمْ اَنِّيْ مُمِدُّكُمْ بِاَلْفٍ مِّنَ الْمَلٰٓئِكَةِ مُرْدِفِيْنَ ﴿٩﴾ وَ
مَا جَعَلَهُ اللّٰهُ اِلَّا بُشْرٰى وَ لِتَطْمَئِنَّ بِهٖ قُلُوْبُكُمْ ۚ وَ مَا النَّصْرُ اِلَّا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ
اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿١٠﴾ اِذْ يُغَشِّيْكُمُ النُّعَاسَ اَمَنَةً مِّنْهُ وَ يُنَزِّلُ عَلَيْكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ
مَآءً لِّيُطَهِّرَكُمْ بِهٖ وَ يُذْهِبَ عَنْكُمْ رِجْزَ الشَّيْطٰنِ وَ لِيَرْبِطَ عَلٰى قُلُوْبِكُمْ وَ يُثَبِّتَ بِهِ
الْاَقْدَامَ ﴿١١﴾ اِذْ يُوْحِيْ رَبُّكَ اِلَى الْمَلٰٓئِكَةِ اَنِّيْ مَعَكُمْ فَثَبِّتُوا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ؕ سَاُلْقِيْ فِيْ قُلُوْبِ
الَّذِيْنَ كَفَرُوا الرُّعْبَ فَاضْرِبُوْا فَوْقَ الْاَعْنَاقِ وَ اضْرِبُوْا مِنْهُمْ كُلَّ بَنَانٍ ﴿١٢﴾ ذٰلِكَ

بِاَنَّهُمْ شَآقُّوا اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ ۚ وَ مَنْ يُّشَاقِقِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ۝١٣
ذٰلِكُمْ فَذُوْقُوْهُ وَ اَنَّ لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابَ النَّارِ ۝١٤

جڏهن توهان پنهنجي رب کي فرياد ڪري رهيا هُئا ته هُن توهان جي فرياد ٻڌي، ته آئون توهان جي مدد جي لاءِ هڪ هزار فرشتا لڳاتار موڪلي رهيو آهيان. ۽ اِهو الله رڳو ان لاءِ ڪيو ته توهان جي لاءِ خوشخبري هجي ۽ ته جيئن توهان جون دليون اُن سان مطمئن ٿي وڃن. ۽ مدد ته رڳو الله وٽان ئي ايندي آهي بيشڪ الله زبردست آهي حڪمت وارو آهي. جڏهن الله توهان تي پنهنجي طرفان اونگهه طاري ڪئي اوهان جي تسڪين جي لاءِ ۽ آسمان مان توهان تي پاڻي وسايو ته ان جي ذريعي توهان کي پاڪ ڪري ۽ توهان کان شيطان جي پليتي کي پري ڪري ڇڏي ۽ توهان جي دلين کي مضبوط ڪري ڇڏي ۽ اُن سان قدمن کي ڄمائي رکي. جڏهن تنهنجي رب فرشتن کي حڪم ڏنو ته آئون توهان سان گڏ آهيان، توهان ايمان وارن کي ثابت قدم رکو. آئون ڪافرن جي دلين ۾ رُعب طاري ڪندس. پوءِ توهان انهن جي ڪنڌن جي مٿان ۽ انهن جي هر هڪ سَنڌ تي ڌڪ هڻو. اِهو انهيءَ ڪري جو اُنهن الله ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪئي. ۽ جيڪو به الله ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪندو آهي ته الله سزا ڏيڻ ۾ سخت آهي. سو اِها سزا چکو ۽ ڄاڻي ونو ته منڪرن جي لاءِ باهه جو عذاب آهي. ٩-١٤

---

بدر جي لڙائي نازڪ حالتن ۾ ٿي. تقريبًا هڪ هزار هٿيار بند دشمن جي مقابلي ۾ مسلمانن جو تعداد صرف ٣١٣ هو. انهن وٽ هٿيار به گهٽ هئا. دشمن جنگ جي مقام (بدر) تي پهرين پهچي اُتي سٺي جڳهه ۽ پاڻي جي چشمن تي قبضو ڪري ورتو. اهڙي قسم جي حالتن ڪي ڏسي مسلمانن جي دلين ۾ وسوسا اچڻ لڳا ته جنهن مشن جي لاءِ اُهي پنهنجي زندگي ويران ڪري رهيا آهن، اُن سان شايد خدا جي مدد شامل نه آهي. جيڪڏهن اِهو حق هجي ها ته اهڙي نازڪ موقعي تي خدا ڇو انهن جو ساٿ نه ڏي ها، ڇو سڀ اسباب انهن جي هٿ مان نڪري دشمنن ڏانهن هليا وڃن ها.

اُن وقت الله تعاليٰ بدر جي علاقي ۾ زور جو مينهن وسايو. مسلمانن تلاءَ ٺاهي مينهن جو پاڻي جمع ڪري ورتو. دشمنن مسلمانن کي زمين جي پاڻي کان محروم ڪيو هو، خدا انهن جي لاءِ آسمان کان پاڻي جو انتظام ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح خدا اِهو غير معمولي انعام فرمايو ته مسلمانن تي ننڊ طاري ڪري ڇڏي. ننڊ ماڻهوءَ کي تازه دم ڪرڻ جي لاءِ گهڻو ضروري آهي. پر جنگ جي ميدان جون حالتون ايتريون ته وحشت ناڪ هونديون آهن جو ماڻهوءَ جي ننڊ اڏامي ويندي آهي. اُن جي باوجود الله تعاليٰ مسلمانن جي اِها خاص مدد فرمائي جو جنگ جي ڏينهن کان پهرين واري رات جو انهن تي ننڊ طاري ڪري ڇڏي. اُهي رات جو ذهني ٿڪاوٽ کان آجا ٿي سمهي رهيا ۽ صبح جو پوري طرح تازه دم ٿي اُٿيا. جيڪي حالتون مسلمانن جي اندر وسوسا پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجي رهيون هيون، انهن ئي حالتن جي اندر خدا اهڙا امڪان پيدا ڪري ڇڏيا جو انهن جي اندر نئون يقين ۽ اعتماد پيدا ٿي ويو.

مقابلي جي وقت اهل حق کان جيڪا شيءِ مطلوب آهي اُها ثابت قدمي آهي. انهن کي ڪنهن به حال ۾ مايوس نه ٿيڻ کپي. هن ثابت قدمي جو نقد انعام خدا طرفان اِهو ملندو آهي جو دشمنن جي دلين ۾ رعب وڌو ويندو آهي ۽ جيڪا جماعت پنهنجي دشمن جي رعب ۾ اچي وڃي، اُن کي شڪست کان ڪا شيءِ بچائي نٿي سگهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا لَقِيْتُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا زَحْفًا فَلَا تُوَلُّوْهُمُ الْاَدْبَارَ ﴿۱۵﴾ وَ مَنْ
يُّوَلِّهِمْ يَوْمَىِٕذٍ دُبُرَهٗۤ اِلَّا مُتَحَرِّفًا لِّقِتَالٍ اَوْ مُتَحَيِّزًا اِلٰى فِئَةٍ فَقَدْ بَآءَ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ
وَ مَاْوٰىهُ جَهَنَّمُ ؕ وَ بِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿۱۶﴾

اي ايمان وارؤ! جڏهن توهان جو مقابلو ميدان جنگ ۾ منڪرن سان ٿئي ته انهن کي پٺي ڏئي نه ڀڄو. ۽ جيڪو اهڙي موقعي تي پٺي ڏئي ڀڄندو، سواءِ جنگي چال جي يا پنهنجي ٻي ٽولي سان ملڻ جي لاءِ، ته اهو الله جي غضب ۾ اچي ويندو ۽ اُن جو ٺڪاڻو جهنم آهي ۽ اُهو وڏو بڇڙو ٺڪاڻو آهي. ۱۵-۱۶

اسلام ۽ غير اسلام جو ٽڪراءُ جنگ جي ميدان تائين پهچي وڃي ته اِهو چڻ ته ٻنهي ڌرين جي لاءِ آخري فيصلي جو وقت هوندو آهي. اهڙي نازڪ موقعي تي جيڪڏهن ڪو شخص يا جماعت ايئن ڪري جو عين مقابلي جي وقت اُهو ميدان ڇڏي ڀڄي ته اُن بدترين جرم ڪيو. هڪ پاسي اُن حق کي بچائڻ جي مقابلي ۾ پنهنجي پاڻ کي بچائڻ کي وڌيڪ اهم سمجهو. اُن پنهنجي مقصد جي مقابلي ۾ پنهنجي ذات کي ترجيح ڏني ۽ اهو سڀ ڪجهه هُن انهيءَ وقت ڪيو جڏهن ان حق کي بَچائڻ جي بازي لڳل هئي، جنهن کي هُن اعليٰ صداقت قرار ڏئي ڪري هُن انهيءَ تي ايمان آندو هو.

ٻيو اِهو ته اِهڙي نازڪ موقعي تي اڪثر هڪ معمولي واقعو تمام وڏي واقعي جو سبب بڻجي ويندو آهي. هڪ ماڻهو يا هڪ جماعت جو ميدان ڇڏي ڀڄڻ سڄي فوج جو حوصلو ٽوڙي ڇڏيندو آهي. هڪ ماڻهو جي ڀاڄ آخرڪار سڄي سيني جي ڀاڄ جي صورت اختيار ڪري وٺندي آهي ۽ هنگامي حالتن ۾ جڏهن ڪنهن جماعت ۾ عام ڀاڄ شروع ٿي وڃي ته اُها پنهنجي آخري حد تائين پهچڻ کان پهرين نٿي رڪجي.

ان کان سواءِ ٻي صورت صرف اِها آهي ته جڏهن ڪو سپاهي يا سپاهين جو دستو ڪنهن جنگي تدبير جي لاءِ پوئتي هٽي يا اُهو پنهنجي هڪ مورچي کان هٽي ڪنهن ٻئي مورچي ڏانهن وڃڻ چاهي. فرار لاءِ جيڪڏهن ڪو پوئتي هٽي ٿو ته اُهو بيشڪ ناقابل معافي جرم ڪري ٿو. پر جيڪو پوئتي هٽڻ جنگي تدبير لاءِ هجي اُهو جائز آهي، ان جي لاءِ ماڻهو تي ڪو الزام نه آهي.

مٿي ذڪر ڪيل حڪم اصل ۾ جنگ جي متعلق آهي. پر ٻيون ملندڙ جلندڙ صورتون به انهيءَ حڪم ۾ اچي سگهن ٿيون. مثال طور هڪ ماڻهو خالص اسلام جي خاموش ۽ تعميري عمل ڏانهن ماڻهن کي سڏي. پر ڪجهه وقت ڪانپوءِ جڏهن هو ڏسي ته ان جي دعوت ماڻهن ۾ گهٽي مقبول نه ٿي رهي آهي ته اُهو بي صبري جو شڪار ٿي وڃي ۽ خاموش تعمير جي محاذ کي ڇڏي، اهڙي اسلام ڏانهن ڊوڙي پوي جنهن جي ذريعي عوام ۾ تمام جلد شهرت ۽ مرتبو حاصل ڪري سگهجي ٿو.

جنگ جي ميدان مان ڀڄڻ شعور ۽ ارادي سان ٿيندو آهي. پر جنگ جي ميدان کان ٻاهر جيڪو مقابلي جاري آهي ان کان "فرار" هڪ غير شعوري واقعو آهي. ماڻهو طبيعتًا نتيجي پسند هوندو آهي. هُو پنهنجي ڪم جو اعتراف چاهيندو آهي، ان جو اِهو مزاج غير شعوري طور تي ان کي انهن ڪمن کان هٽائي ڇڏيندو آهي جن مان جلدي نتيجو نڪرندي نظر نه ٿو اچي. هو پنهنجي اندر ڪم ڪرڻ وارن غير

شعوري اٿرن جي ڪري انهن شين ڏانهن ڇڪجي ويندو آهي جن مان بظاهر اِها اميد هجي ته جلدي عزت ۽ ڪاميابي حاصل ٿي ويندي. اهڙي قسم جو ڦري وڃڻ حقيقت جي لحاظ کان ان ئي نوعيت جي شيءِ آهي جنهن کي مٿي ذڪر ڪيل آيت ۾ مقابلي جي ميدان مان ڀڄڻ چيو ويو آهي.

فَلَمْ تَقْتُلُوْهُمْ وَ لٰكِنَّ اللّٰهَ قَتَلَهُمْ ۪ وَ مَا رَمَيْتَ اِذْ رَمَيْتَ وَ لٰكِنَّ اللّٰهَ رَمٰى ۚ وَ لِيُبْلِيَ الْمُؤْمِنِيْنَ مِنْهُ بَلَآءً حَسَنًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۱۷﴾ ذٰلِكُمْ وَ اَنَّ اللّٰهَ مُوْهِنُ كَيْدِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۸﴾ اِنْ تَسْتَفْتِحُوْا فَقَدْ جَآءَكُمُ الْفَتْحُ ۚ وَ اِنْ تَنْتَهُوْا فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَ اِنْ
ع ٩ ١٦ تَعُوْدُوْا نَعُدْ ۚ وَ لَنْ تُغْنِيَ عَنْكُمْ فِئَتُكُمْ شَيْـًٔا وَّ لَوْ كَثُرَتْ ۙ وَ اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۹﴾

پوءِ انهن کي توهان قتل نه ڪيو بلڪ الله انهن کي قتل ڪيو. ۽ جڏهن تو انهن تي مٽي اڇلائي ته اُها تو نه اڇلائي بلڪ الله اڇلائي. اُن لاءِ ته الله پنهنجي طرفان ايمان وارن تي خوب احسان ڪري. بيشڪ الله ٻڌڻ وارو ڄاڻڻ وارو آهي. اِهو ته ٿي چڪو ۽ بيشڪ الله منڪرن جون سڀ تدبيرون بيڪار ڪري ڇڏيندو. توهان فيصلو چاهيو ٿي ته فيصلو توهان جي اڳيان اچي چڪو آهي. ۽ جيڪڏهن توهان باز اچي وڃو ته اهو توهان جي حق ۾ بهتر آهي. ۽ جيڪڏهن توهان ٻيهر اُهوئي ڪندؤ ته اسان به وري اُهوئي ڪنداسون ۽ توهان جو لشڪر توهان جي ڪجهه به ڪم نه ايندو، چاهي اُهو ڪيتروئي گهڻو هجي بيشڪ الله ايمان وارن سان گڏ آهي. ١٧-١٩

---

روايتن ۾ اچي ٿو ته جڏهن بدر جو محاذ زور هو ته رسول اللهﷺ جي زبان مان دعا ڪندي هي لفظ نڪتا: يا ربّ اِن تهلک هٰذه العصابة فلن تُعبد في الارض ابدًا (اي منهنجا رب، جيڪڏهن هيءَ جماعت هلاڪ ٿي وئي ته ڪڏهن به زمين تي تنهنجي عبادت نه ٿيندي)، پوءِ پاڻﷺ پنهنجي هٿ ۾ مٺ جيتري مٽي کڻي ان کي مشرڪن ڏانهن اڇلائيندي چيو ته شاهت الوجوه (چهرا بگڙي وڃن) ان کان پوءِ ڪافرن جي لشڪر جو اِهو حال ٿيو ڄڻ ته سيني جي اکين ۾ مٽي پئجي وئي هجي. پوءِ مسلمانن نهايت آساني سان جنهن کي چاهيو تي قتل ڪيو ۽ جنهن کي چاهيو تي گرفتار ڪري ورتو.

اهو الله جي ذمي آهي ته هُو ايمان وارن جي مدد ڪندو آهي. انهن جا دشمن چاهي ڪيتريون ئي سازشون ڪن، هُو انهن جي سازشن کي پنهنجن تدبيرن سان بي اثر ڪري ڇڏيندو آهي. هُو انهن کي مغلوب ڪري ايمان وارن کي انهن تي غالب ڪري ڇڏيندو آهي. پر ايئن ڪڏهن ٿيندو آهي؟ ايئن ان وقت ٿيندو آهي، جڏهن ته اهل ايمان پنهنجي ارادي کي خدا جي ارادي ۾ اهڙي طرح ملائي ڇڏين جو خدا جي مرضي ۽ ايمان وارن جي مرضي ٻئي هڪ ٿي وڃن. جڏهن ٻانهو اِهڙي طرح پنهنجي پاڻ کي خدا جي مطابق ڪري ڇڏيندو آهي ته جيڪو ڪجهه خدا جو آهي اُهو ان جو ٿي ويندو آهي، ڄاڪاڻ ته جيڪو ڪجهه ان جو آهي اُهو ته هُو خدا کي ڏئي چڪو هوندو آهي.

بدر ڏانهن روانگي کان پهرين مڪي جا سردار بيت الله ويا ۽ ڪعبي جي پردي کي جهلي اِها دعا ڪئي: خدايا! ان جي مدد ڪر جيڪو ٻنهي لشڪرن ۾ سيني کان اعليٰ هجي، جيڪو ٻنهي جماعتن ۾ سڀ کان عزت وارو هجي، جيڪو ٻنهي قبيلن ۾ سڀ کان بهتر هجي (اَللّٰهُمَّ انصر اعليٰ الجندين واکرم الفئتين و خير القبيلتين) . بدر جي لڙائي ۾ مڪي جي سردارن کي ڪامل شڪست ۽ اهل ايمان کي

ڪامل فتح ٿي هئي. اهڙي طرح خود مڪي جي سردارن جي معيار مطابق اِهو ثابت ٿي ويو ته خدا جي نزديڪ خدا وٽ اعليٰ ۽ اشرف جماعت اُهي نه آهن، بلڪ اهل اسلام آهن. ان جي باوجود انهن اسلام قبول نه ڪيو. جيڪي ماڻهو ايئن ڪن ته انهن جي لاءِ آخرت ۾ سخت ترين عذاب آهي ۽ انهيءَ سان گڏ هِن دنيا ۾ به.

”پنهي ۾ جيڪو سڀ کان اعليٰ ۽ سڀ کان اشرف هجي ان کي فتح ڏي“. اها بظاهر دعا هئي، پر حقيقت ۾ اِها پنهنجي حق ۾ فخر ۽ اعتماد جو اظهار هو. ان جي پويان انهن جي اِها نفسيات ڪم ڪري رهي هئي ته اسان ڪعبي جا نگهبان آهيون، اسان حضرت ابراهيمؑ ۽ اسماعيلؑ سان نسبت رکڻ وارا آهيون. جڏهن اسان سان گڏ ايتريون وڏيون فضيلتون جمع آهن ته فتح ته هر حال اسان جي ٿيڻ کپي. پر خدا وٽ ذاتي عمل جي قيمت آهي، نه وري خارجي نسبتن جي. خارجي نسبتون کهڙيون ئي ڇو نه هجن ماڻهن کي ڪجهه به ڪم اچڻ واريون نه آهن.

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ وَ لَا تَوَلَّوْا عَنْهُ وَ اَنْتُمْ تَسْمَعُوْنَ ۝٢٠ وَ لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ قَالُوْا سَمِعْنَا وَ هُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ۝٢١ اِنَّ شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنْدَ اللّٰهِ الصُّمُّ الْبُكْمُ الَّذِيْنَ لَا يَعْقِلُوْنَ ۝٢٢ وَلَوْ عَلِمَ اللّٰهُ فِيْهِمْ خَيْرًا لَّاَسْمَعَهُمْ ؕ وَلَوْ اَسْمَعَهُمْ لَتَوَلَّوْا وَّ هُمْ مُّعْرِضُوْنَ ۝٢٣

اي ايمان وارؤ! الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪريو. ۽ ان کان منهن نه موڙيو حالانڪ توهان ٻڌي رهيا آهيو. ۽ انهن ماڻهن وانگر نه ٿي وڃو جن چيو ته اسان ٻڌوسون، حالانڪ اُهي نه ٿا ٻڌن. بيشڪ الله وٽ سڀ کان بدترين جانور اُهي ٻوڙا گونگا ماڻهو آهن جيڪي عقل کان ڪم نه ٿا وٺن. ۽ جيڪڏهن الله انهن ۾ ڪا چڱائي ڄاڻي ها ته اُهو ضرور انهن کي ٻڌڻ جي توفيق ڏي ها ۽ جيڪڏهن هُو انهن کي ٻڌرائي ڇڏي ها ته اُهي ضرور بي رخي ڪندي منهن موڙي ڦري وڃن ها. ٢٠-٢٣

---

ماڻهوءَ جي سامهون جڏهن حق ڳالهه پيش ڪئي وڃي ته هڪ صورت اِها آهي ته هو اُن کي سيني صلاحيتن کي استعمال ڪندي ٻُڌي جيڪي خدا ان کي بحيثيت انسان عطا ڪيون آهن. هُو ان تي پوري طرح ڌيان ڏي. هُو ان جي صداقت جي وزن کي محسوس ڪري وٺي. پوءِ پنهنجي زبان سان هُو صحيح جواب پيش ڪري جيڪو حق جي مقابلي ۾ انسان جي فطرت کي پيش ڪرڻ کپي. جيڪو ماڻهو ايئن ڪري ان جڻ ته پيش ڪيل ڳالهه کي انسان وانگر ٻڌو. ٻي صورت اِها آهي ته هُو ان کي اِهڙي طرح ٻڌي جيئن ته ان وٽ ٻڌڻ جي لاءِ ڪن نه آهن. اِن جي سمجهڻ جي صلاحيت ان سچائي کي سمجهڻ کان عاجز ٿي رهجي وئي آهي. هو پنهنجي زبان سان اُهو صحيح جواب پيش نه ڪري سگهي جيڪو حقيقت جي لحاظ کان ان کي پيش ڪرڻ کپي جيڪو شخص ايئن ڪري اُن جڻ ته پيش ڪيل ڳالهه کي جانورن وانگر ٻڌو.

ڪا ڳالهه چاهي ڪيتري به برحق هجي ان جي حقانيت رڳو ان ماڻهو تي کلندي آهي جيڪو دل جي آمادگي سان ان کي ٻڌي. ان جي ابتڙ جيڪو ماڻهو حسد، تڪبر، مصلحت ۽ ظاهر پرستي جو مزاج پنهنجي اندر رکندو هجي، اُهو سچائي کي غور جي قابل نه ٿو سمجهي، هو ان کي سنجيدگي سان نه

پڌندو. ان ڪري هو ان جي سچائي ڪي پائڻ ۾ بہ يقيني طور ناڪام رهجي ويندو.

ايمان بظاهر هڪ قول آهي. پر حقيقت جي لحاظ کان هو هڪ انساني فيصلو آهي. ايمان رڳو شهادت جي لفظن جو تڪرار نہ آهي، بلڪ پنهنجي معنيٰ واري حالت جو لفظي اظهار آهي. جيڪڏهن ماڻهوءَ جي حالت حقيقت ۾ اُهائي هجي جنهن جو هُو انهن لفظن جي ذريعي اعلان ڪري رهيو آهي تہ هو خدا جي نظر ۾ حقيقي مؤمن آهي. مؤمن سنجيده ترين انسان آهي ۽ سنجيده انسان ڪڏهن بہ ايئن نہ ٿو ڪري سگهي تہ ان جي اندروني حالت هڪ هجي ۽ هو لفظن ۾ خود کي ڪجھ ٻيو ظاهر ڪري.

جنهن ماڻهو جو ايمان پنهنجي اندروني حقيقت جي اعلان جي مطابق هجي. هُو ايمان جو اقرار ڪندي ئي عملي طور تي خدا کي پنهنجو معبود بڻائي وٺندو ۽ پنهنجي زندگي جي سڀني معاملن ۾ ان جي پيروي ڪرڻ وارو بڻجي ويندو. زبان سان ايمان جو اقرار ان جي لاءِ پنهنجي سفر جو رخ ٻڌائڻ جي هم معنيٰ هوندو نہ وري ڪنهن قسم جي لساني تلفظ جي هم معنيٰ. ان جي ابتڙ حالت ان شخص جي آهي جنهن ڳالھ ٻڌي، پوءِ هُو ان جي دليلن جي مقابلي ۾ لاجواب بہ ٿي ويو. پر اُها ڳالھ ان جي روح ۾ نہ لهي سگهي. اُها اُن جي دڙڪن ۾ شامل نہ ٿي. پوءِ بہ ظاهري طور اُن زبان سان چئي ڇڏيو تہ ها ٺيڪ آهي، پر اُن جي اصل زندگي ان ڪانپوءِ بہ اهڙي ئي رهي جيئن تہ اُها ان کان پهرين هئي. اِها ٻي صورت نفاق جي صورت آهي ۽ خدا وٽ اِهڙي منافقت واري ايمان جي ڪا بہ قيمت نہ آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اسۡتَجِيۡبُوۡا لِلّٰهِ وَ لِلرَّسُوۡلِ اِذَا دَعَاكُمۡ لِمَا يُحۡيِيۡكُمۡ ۚ وَ اعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ يَحُوۡلُ بَيۡنَ الۡمَرۡءِ وَ قَلۡبِهٖ وَ اَنَّهٗۤ اِلَيۡهِ تُحۡشَرُوۡنَ ﴿٢٤﴾ وَ اتَّقُوۡا فِتۡنَةً لَّا تُصِيۡبَنَّ الَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا مِنۡكُمۡ خَآصَّةً ۚ وَ اعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيۡدُ الۡعِقَابِ ﴿٢٥﴾

اي ايمان وارؤ! الله ۽ رسول جي سڏ تي لبيڪ چئو جڏهن تہ رسول توهان کي اُن شيءِ ڏانهن سڏي رهيو آهي جيڪا توهان کي زندگي ڏيڻ واري آهي. ۽ ڄاڻي وٺو تہ الله ماڻهو ۽ اُن جي دل جي وچ ۾ حائل ٿي ويندو آهي. ۽ اُن ڏانهن ئي توهان جو گڏ ٿيڻ آهي. ۽ ڊڄو اُن فتني کان جيڪو رڳو انهن ماڻهن کي نہ پهچندو جن توهان مان ظلم ڪيو آهي (بلڪ عام هوندو) ۽ ڄاڻي وٺو تہ الله سخت سزا ڏيڻ وارو آهي. ٢٤-٢٥

---

”زندگي جو سڏ“ مان مراد هتي جهاد جي پُڪار آهي. يعني حق کي ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش. اِها ڪوشش شروعات ۾ زبان ۽ قلم جي ذريعي نصيحت جي صورت ۾ شروع ٿيندي آهي. پر مدعو (ٻُڌندڙ) جو مخالفاڻو رد عمل اُن کي مختلف مرحلن تائين پهچائي ڇڏيندو آهي، ايستائين جو هجرت ۽ جنگ تائين بہ.

ماڻهو انفرادي سطح تي پنهنجي خيال مطابق هڪ دينداراڻي زندگي بڻائي ٿو. اُن زندگي کي هو پنهنجن حالتن مطابق ڪري ٿو وٺي. پوءِ اُها اُن کي هڪ عافيت جو جزيرو معلوم ٿيڻ لڳندي آهي. اُن کي ايئن محسوس ٿيندو آهي تہ جيڪڏهن هو ٻين جي اصلاح لاءِ اُٿيو تہ اُن جو ٺهيل ٺڪيل گهر اجڙي پوندو. اُن جي سڌي سنئين زندگي بي ترتيب ٿي پوندي. هن جي وقت ۽ هُن جي مال جو اُهو نظام باقي نہ رهندو جيڪو هن پنهنجي ذاتي تقاضن جي لحاظ کان بڻائي رکيو آهي.

اهڙي قسم جا انديشا اُن جي لاءِ دعوت ۽ اصلاح جي جدوجهد ۾ نڪرڻ ۽ اُن جي راهه ۾ جان ۽ مال پيش ڪرڻ جي لاءِ رڪاوٽ بڻجي ويندا آهن. پر اها سراسر ناداني آهي. حقيقت اِها آهي ته جنهن عافيت جي گهر کي هو پنهنجي لاءِ زندگي سمجهي رهيو آهي اُهو اُن جو قبرستان آهي ۽ جنهن قرباني ۾ هُن کي پنهنجي موت نظر ايندي آهي اُن ئي ۾ اُن جي زندگي جو راز لڪيل آهي.

دعوت ۽ اصلاح جو عمل جيڪو صرف آخرت جي لاءِ هجي نه وري دنياوي مقصد جي لاءِ، انتهائي اهم عمل آهي. اُهو ماڻهوءَ جي مُرده دين کي زنده دين بڻائي ڇڏي ٿو. اُهو اعليٰ ترين سطح تي انسان کي خدا سان جوڙي ٿو. اُهو انهن قيمتي ديني تجربن کان ماڻهوءَ کي آشنا ڪري ٿو، جيڪي انفرادي خول ۾ رهي ڪڏهن به حاصل نٿا ٿين. خدا طرفان ايڏي اهم پڪار کي ٻڌي جيڪي ماڻهو ان جي باري ۾ بي توجه رهن، اُهي اِهو خطرو کڻي رهيا آهن ته انهن جي ۽ حق جي وچ ۾ هڪ نفسياتي رڪاوٽ کڙي ٿي وڃي ۽ انهن جي اِها فطري صلاحيت هميشه جي لاءِ ڪمزور ٿي وڃي. جو اُهي جڏهن حق جي سڏ کي ٻڌن ته اُن ڏانهن ڊوڙي پنهنجي رب کي پائي وٺن.

انسان جي زندگي هڪ سماجي زندگي آهي. ڪو ماڻهو اُن جي اندر پنهنجو انفرادي جزيرو ٺاهي نه ٿو رهي سگهي. جيڪڏهن هڪ ماڻهو ذاتي دينداري تي بيهي رهي ته اُهو هر وقت اُن خطري ۾ آهي جو اجتماعي بگاڙ جي نتيجي ۾ ڪا باهه ٻري ته هو پاڻ به ان جي لپيٽ ۾ اچي وڃي. اصلاحي جدوجهد اصلاح سان گڏ نجات جو ذريعو به آهي جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي نجات جو ثبوت پيش ڪرڻ ۾ ناڪام رهي ته خدا ان جي معاملي کي ٻين کان الڳ ڪندو.

ڪابه برائي هميشه ننڍي سطح کان شروع ٿيندي آهي ۽ پوءِ وڌندي وڌندي وڏي بڻجي ويندي آهي. جيڪڏهن ايئن ٿئي جو برائي جڏهن پنهنجي ابتدائي حالت ۾ هجي ان ئي وقت ڪجهه ماڻهو ان جي خلاف اٿي بيهن ته اُهي آساني سان اُن کي ختم ڪري ڇڏيندا. پر جڏهن برائي ڦهلجي چڪي هجي ته ان جون پاڙون ايتريون گهريون ٿي ونديون آهن جو ان کي ختم ڪرڻ ممڪن نه ٿو رهي.

وَ اذْكُرُوْٓا اِذْ اَنْتُمْ قَلِيْلٌ مُّسْتَضْعَفُوْنَ فِي الْاَرْضِ تَخَافُوْنَ اَنْ يَّتَخَطَّفَكُمُ النَّاسُ
فَاٰوٰىكُمْ وَ اَيَّدَكُمْ بِنَصْرِهٖ وَ رَزَقَكُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٢٦﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ
اٰمَنُوْا لَا تَخُوْنُوا اللّٰهَ وَ الرَّسُوْلَ وَ تَخُوْنُوْٓا اَمٰنٰتِكُمْ وَ اَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٧﴾ وَ اعْلَمُوْٓا اَنَّمَآ
اَمْوَالُكُمْ وَ اَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ ۙ وَّ اَنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿٢٨﴾ ع ٣ ٩ ١٧

۽ ياد ڪريو جڏهن توهان ٿورا هئا ۽ زمين ۾ ڪمزور سمجهاويندا هئا. ۽ ڊڄندا هئا ته ماڻهو اوچتو توهان کي کڻي نه وڃن. پوءِ الله توهان کي رهڻ جي لاءِ جاءِ ڏني ۽ پنهنجي مدد سان توهان کي قوت ڏنائين ۽ توهان کي پاڪ روزي به ڏنائين ته جيئن توهان شڪرگذار ٿيو. اي ايمان وارؤ! خيانت نه ڪريو الله ۽ رسول جي ۽ خيانت نه ڪريو پنهنجن امانتن ۾ حالانڪ توهان ڄاڻو ٿا. ۽ ڄاڻي وٺو ته توهان جا مال ۽ توهان جو اولاد هڪ آزمائش آهي ۽ الله وٽ ئي وڏو اجر آهي. ٢٦-٢٨

مکي ۾ مسلمان بلڪل بي وسي جي حالت ۾ هئا. ڪين هر وقت اِهو انديشو لڳل هوندو هو تہ انهن کي ڪيڏي نہ ڇڏين. اُهي اهڙي ڪمزور وانگر هئا جنهن کي هر طرح سان دٻايو ويندو آهي ۽ ان جا جائز حق بہ ان کي نہ ڏنا ويندا آهن. آخرڪار انهن جي لاءِ مديني جو رستو ڪليو. انهن کي اِهو موقعو ڏنو ويو تہ اُهي مديني وڃي پنهنجو مرڪز ٺاهين ۽ اُتي جي ماحول ۾ آزادي ۽ عزت سان رهن.

مشڪل ڪانپوءِ آساني فراهم ڪرڻ جو اِهو معاملو ان ڪري ڪيو ويندو آهي، تہ جيئن ماڻهوءَ جي اندر شڪر جو جذبو اُڀري. ماڻهوءَ جون حالتون جڏهن ان حد تائين پهچي وينديون آهن جتي هو پاڻ کي بيوس محسوس ڪرڻ لڳندو آهي. ان وقت اچانڪ خدا جي مدد ظاهر ٿي ڪري حالتن کي بدلائي ڇڏيندي آهي. ايئن ان ڪري ٿيندو آهي تہ ماڻهو يقين ڪري تہ جيڪو ڪجھ ٿيو اُهو خدا طرفان ٿيو آهي. ان احساس جي ڪري هُو خدا جي انعامن جي جذبي سان سرشار ٿي وڃي.

ماڻهو خدا ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻي ٿو. اهڙي طرح هُو عهد ڪري ٿو تہ هُو خدا ۽ رسول جي رستي تي هلندو. پر جڏهن ايمان جي طريقي کي اختيار ڪرڻ ۾ ان جي مال ۽ اولاد جا تقاضا حائل ٿيندا آهن تہ هُو ايمان جي تقاضي کي ڇڏي مال ۽ اولاد جي تقاضن کي جهلي وٺندو آهي. اِها ايماني عهد سان غداري آهي. ان غداري جي برائي ان وقت اچا وڌي ويندي آهي جڏهن اِهو ڏٺو وڃي تہ ماڻهو جنهن شيءِ جي لاءِ خدا سان غداريءَ جو معاملو ڪري رهيو آهي اُهو بہ خود خدا جو هڪ عطيو آهي.

ماڻهوءَ جو مال ۽ ان جو اولاد ڇا آهي؟ اُهو خدا جو ڏنل ئي تہ آهي. اُهو ٻانهي وٽ خدا جي امانت آهي. ان امانت جو جيڪڏهن ڪو سڀ کان بهتر استعمال ٿي سگهي ٿو تہ اُهو اِهو آهي تہ جڏهن ڏيڻ وارو ان کي گُهري تہ اُن کي خوشي سان اُن جي حوالي ڪري ڇڏجي. پر جڏهن خدا چوندو آهي تہ منهنجي دين جي لاءِ اُٿو ۽ اُن ۾ پنهنجون قوتون لڳايو تہ ماڻهو اُن ئي امانت کي پنهنجي لاءِ عزت ٻڻائي وٺندو آهي، جنهن کي خدا جي دين جي راهہ ۾ ڏئي ڪَري ان کي خدا سان ڪيل ايمان جي عهد کي پورو ڪرڻو هو. هُو ڪاميابي جي ڪناري تي پهچي پاڻ کي ناڪام ٿيڻ وارن جي فهرست ۾ لکرائي ڇڏيندو آهي.

ڪو ڪم خدا وٽ جرم ان وقت بڻجي ٿو، جڏهن تہ اِهو ڄاڻندي تہ اِهو عمل غلط آهي اُن تي عمل ڪيو وڃي. ڪنهن ماڻهوءَ تي جيڪڏهن اُن جي هڪ ڪم جي غلطي واضح ٿي ويندي آهي ۽ ان ڪانپوءِ بہ هُو اُن کي ڪري ٿو تہ اُهو تمام وڏي ذميداري پنهنجي سِر ڪٽي رهيو آهي. ڄاڻان تہ غلطي کي غلطي سمجهڻ ڪانپوءِ اُن کي دهرائڻ بيحيائي آهي ۽ بيحيائي خدا وٽ معافي جي قابل نہ آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ تَتَّقُوا اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّكُمْ فُرْقَانًا وَّ يُكَفِّرْ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَ
يَغْفِرْ لَكُمْ ۭ وَ اللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿۲۹﴾ وَ اِذْ يَمْكُرُ بِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِيُثْبِتُوْكَ اَوْ
يَقْتُلُوْكَ اَوْ يُخْرِجُوْكَ ۭ وَ يَمْكُرُوْنَ وَ يَمْكُرُ اللّٰهُ ۭ وَ اللّٰهُ خَيْرُ الْمٰكِرِيْنَ ﴿۳۰﴾

اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن توهان الله کان ڊڃندو تہ هو توهان کي فرقان ڏيندو ۽ توهان کان توهان جا گناهہ پري ڪندو ۽ توهان کي بخشي ڇڏيندو ۽ الله وڏي فضل وارو آهي ۽ جڏهن ڪافر تو لاءِ رٿ رٿي رهيا هئا تہ توکي قيد ڪن يا قتل ڪن يا جلا وطن ڪن. هو پنهنجون تدبيرون ڪري رهيا هئا ۽ الله بہ رٿ رٿي رهيو هو ۽ الله بهترين رٿ رٿيندڙ آهي. ۲۹-۳۰

فرقان جي معني آهي فرق ڪرڻ واري شيءِ. هتي فرقان مان مراد حق ۽ باطل جي وچ ۾ فرق ڪرڻ جي صلاحيت آهي. ماڻهو جيڪڏهن الله کان ڊڄي، هو اُهو ئي ڪري جنهن جو الله حڪم ڏنو آهي ۽ اُن کان بچي جنهن کان الله منع ڪيو آهي ته اُن کي هِن ڳالهه جي توفيق ملندي آهي جو هو حق ۽ باطل کي هڪٻئي کان الڳ ڪري ڏسي سگهي (من اتقيٰ بفعل او امره و ترک زواجره وفّق لمعرفة الحق من الباطل - ابن کثير)

انساني صلاحيتن کي بيدار ڪرڻ واري سيني کان وڏي شيءِ ڊپ آهي. جنهن معاملي ۾ انسان جي اندر ڊپ واري نفسيات پيدا ٿي وڃي، اُن معاملي ۾ هو آخري حد تائين حقيقت پسند بڻجي ويندو آهي. ڊپ جي نفسيات اُن جي ذهن جي سيني پردن کي اهڙي طرح هٽائي ڇڏيندي آهي جو اُن باري ۾ هو هر قسم جي غفلت يا غلط فهمي کان بلند ٿي صحيح راءِ قائم ڪري سگهي. اِهو ئي معاملو اُن خدا جي پاڻهي سان پيش ايندو آهي جنهن کي رب العالمين سان تقويٰ (ڊپ) جو تعلق پيدا ٿي ويو هجي.

اِها فرقان تقريبًا اُها ئي شيءِ آهي، جنهن کي معرفت يا بصيرت چيو ويندو آهي. بصيرت ڪنهن ماڻهوءَ ۾ اِها اندروني روشني پيدا ڪندي آهي جو هو ظاهري پهلوئن کان دوکي کائڻ بغير هر ڳالهه کي اُن جي اصلي روپ ۾ ڏسي سگهي. جڏهن به ڪو ماڻهو ڪنهن معاملي ۾ پاڻ کي ايترو ڪِهرو شامل ڪندو آهي جو هو اُن جي پرواهه ڪرڻ لڳي. هو اُن جي باري ۾ فڪر ۽ ڳڻتي ۾ رهندو هجي ته اُن کان پوءِ اُن جي اندر هڪ خاص طرح جي حساسيت پيدا ٿيندي آهي، جيڪا اُن کي اُن معاملي ۾ موافق ۽ مخالف پهلوئن جي سڃاڻ ڪرائي ڇڏيندي آهي. اِهو فرقاني معاملو هر هڪ سان پيش ايندو آهي چاهي اُهو هڪ مذهبي ماڻهو هجي يا هڪ تاجر ۽ ڊاڪٽر ۽ انجنيئر. ڪو به ماڻهو جڏهن پنهنجي ڪم سان تقويٰ جي حد تائين پاڻ کي وابسته ڪندو آهي ته اُن کي اُن معاملي جي اهڙي معرفت ٿي ويندي آهي جو هيڏانهن هوڏانهن جي مبالغن ۾ اُلجهڻ ڪانسواءِ اُهو اُن جي حقيقت تائين پهچي وڃي.

ڪنهن ماڻهو جي اندر اِها خدائي بصيرت (فرقان) پيدا ٿيڻ اُن ڳالهه جي سڀ کان وڏي ضمانت آهي ته اُهو بُرائين کان بچي، هو خدا سان پنهنجي تعلق کي درست ڪري ۽ آخرڪار خدا جي فضل جو مستحق بڻجي وڃي. اِهو فرقان (حق ۽ باطل جي نفسياتي تميز) پيدا ٿيڻ اُن ڳالهه جو ثبوت آهي ته ماڻهو پاڻ کي حق سان ايڏو وابسته ڪري چڪو آهي جو اُن ۾ ۽ حق ۾ ڪو فرق نه رهيو آهي. هُو ۽ حق ٻئي هڪٻئي جا هم مثل بڻجي ويا آهن. اُن کان پوءِ اُن کي بچائڻ ايترو ئي ضروري ٿي ويندو آهي جيترو حق کي بچائڻ. اهڙا ماڻهو سڌو سنئون خدا جي پناهه ۾ اچي ويندا آهن. هاڻي انهن جي خلاف تدبيرون ڪرڻ خود حق جي خلاف تدبير ڪرڻ بڻجي ويندو آهي ۽ خدا جي خلاف تدبير ڪرڻ وارو هميشه ناڪام رهندو آهي چاهي اُن ڪيڏي به وڏي تدبير ڪئي هجي.

وَ اِذَا تُتۡلٰی عَلَیۡهِمۡ اٰیٰتُنَا قَالُوۡا قَدۡ سَمِعۡنَا لَوۡ نَشَآءُ لَقُلۡنَا مِثۡلَ هٰذَاۤ ۙ اِنۡ هٰذَاۤ اِلَّاۤ اَسَاطِیۡرُ الۡاَوَّلِیۡنَ ﴿۳۱﴾ وَ اِذۡ قَالُوا اللّٰهُمَّ اِنۡ کَانَ هٰذَا هُوَ الۡحَقَّ مِنۡ عِنۡدِکَ فَاَمۡطِرۡ عَلَیۡنَا حِجَارَةً مِّنَ السَّمَآءِ اَوِ ائۡتِنَا بِعَذَابٍ اَلِیۡمٍ ﴿۳۲﴾ وَ مَا کَانَ اللّٰهُ لِیُعَذِّبَهُمۡ وَ اَنۡتَ فِیۡهِمۡ ؕ وَ مَا کَانَ اللّٰهُ مُعَذِّبَهُمۡ وَ هُمۡ یَسۡتَغۡفِرُوۡنَ ﴿۳۳﴾ وَ مَا لَهُمۡ اَلَّا یُعَذِّبَهُمُ اللّٰهُ وَ هُمۡ

يَصُدُّوْنَ عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ وَ مَا كَانُوْٓا اَوْلِيَآءَهٗ ؕ اِنْ اَوْلِيَآؤُهٗٓ اِلَّا الْمُتَّقُوْنَ وَ لٰكِنَّ
اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۳۴﴾ وَ مَا كَانَ صَلَاتُهُمْ عِنْدَ الْبَيْتِ اِلَّا مُكَآءً وَّ تَصْدِيَةً ؕ فَذُوْقُوا
الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿۳۵﴾

۽ جڏهن انهن جي سامهون اسان جون آيتون پڙهيون وينديون آهن تہ چون ٿا تہ اسان ٻڌوسون، جيڪڏهن اسين چاهيون تہ اسان بہ اهڙو ڪلام پيش ڪري سگهون ٿا. اِهي تہ رڳو اڳين جا قصا آهن. ۽ جڏهن انهن چيو تہ اي الله! جيڪڏهن اِهوئي حق آهي تنهنجي طرفان تہ اسان تي آسمان مان پٿر وساءِ يا ٻيو ڪو عذاب اسان تي آڻ. ۽ الله ايئن ڪرڻ وارو نہ آهي جو انهن کي عذاب ڏي اُن حال ۾ جو تون انهن ۾ موجود هجين ۽ الله انهن تي عذاب آڻڻ وارو نہ آهي جڏهن تہ اُهي استغفار ڪري رهيا هجن. ۽ الله انهن کي ڇو نہ عذاب ڏيندو، حالانڪ اُهي مسجد حرام کان روڪيندا آهن جڏهن تہ هو ان جا متولي نہ آهن. اُن جا متولي تہ رڳو الله کان ڊڄڻ وارا ٿي سگهن ٿا. پر انهن مان اڪثر نٿا ڄاڻن. ۽ بيت الله وٽ انهن جي نماز سيٽيون هڻڻ ۽ تاڙيون وڄائڻ کان سواءِ ٻيو ڪجھ نہ آهي، تنهن ڪري هاڻي چکو عذاب پنهنجي ڪفر جو. ۳۱-۳۵

---

اسان بہ اهڙو ڪلام ٺاهي سگهون ٿا، اسان حق تي نہ آهيون تہ اسان تي پٿر ڇو نٿا وسن. اِهي سڀ تڪبر جون ڳالهيون آهن. ماڻهو جڏهن دنيا ۾ پاڻ کي محفوظ حالت ۾ ڏسي ٿو، جڏهن هو ڏسي ٿو تہ حق جو انڪار ڪرڻ يا اُن کي نظر انداز ڪرڻ سان اُن جو ڪجھ نہ ٿو بگڙي تہ ان ۾ ڪوڙي اعتماد جي نفسيات پيدا ٿي ويندي آهي. هو سمجهي ٿو تہ آئون جيڪو ڪجھ ڪري رهيو آهيان اُهو بلڪل درست آهي. اُن جو اهو احساس اُن جي زبان مان اهڙا لفظ چورائي ٿو جيڪي عام حالتن ۾ ڪنهن جي زبان مان نہ نڪرندا آهن.

اهڙي قسم جي ماڻهن ۾ اِها جرائت خدا جي قانون مهلت جي ڪري پيدا ٿيندي آهي. خدا بيشڪ مجرمن کي سزا ڏيندو آهي، پر خدا جي اها سنت آهي تہ هو ماڻهو کي هميشہ اُن وقت پڪڙيندو آهي جڏهن تہ اُن تي حق ۽ باطل جي وضاحت جو ڪم مڪمل طور انجام ڏنو ويو هجي. اُن ڪم جي تڪميل کان پهرين ڪنهن کي هلاڪ نہ ڪيو ويندو آهي. وڌيڪ اِهو تہ دعوتي عمل جي وچ ۾ جيڪڏهن هڪڙو ٻہ يا ٻہ ماڻهو بہ اُن کان متاثر ٿي پنهنجي اصلاح ڪري رهيا هجن، تڏهن بہ سزا جو نازل ٿيڻ روڪيو ويندو آهي تہ جيئن اِهو عمل اُن حد تائين مڪمل ٿي وڃي تہ جيترا بہ نيڪ روح آهن، سي سڀ اُن کان ٻاهر اچي وڃن.

امتن ۾ بگاڙ ايندو آهي تہ ايئن نہ ٿيندو آهي تہ انهن جي وچ مان دين جي شڪل متجي وڃي. بگاڙ جي زماني ۾ هميشہ اِهو ٿيندو آهي تہ خدا جي خوف وارو دين باقي نہ ٿو رهي ۽ اُن جي جاءِ تي ڏوم ڏام وارو دين اچي ويندو آهي. هاڻي قوم وٽ عمل نہ هوندو آهي، بلڪ ماضي جي شخصيتن ۽ اُنهن جي نالي تي قائم شده گاديون هونديون آهن. ماڻهو انهن شخصيتن ۽ انهن گادين سان وابستہ ٿي سمجهن ٿا تہ انهن کي اُها ئي عظمت حاصل ٿي وئي آهي، جيڪا تاريخي سببن جي ڪري خود انهن شخصيتن ۽ گادين کي حاصل آهي. ماڻهو اندران خالي هوندا آهن پر وڏن وڏن نالن تي نمائشي عمل ڪري سمجهن ٿا تہ هو وڏو ديني ڪارنامو سرانجام ڏئي رهيا آهن.

مڪي جا ماڻهو اُن ئي قسم جي نفسيات ۾ مبتلا هئا. انهن کي فخر هو تہ اُهي بيت الله جا وارث آهن. ابراهيم عليہ السلام ۽ اسماعيل عليہ السلام جهڙن جليل القدر پيغمبرن جي اُمت آهن. انهن کي ڪعبي جي خادم هئڻ جو شرف حاصل آهي. انهن جو خيال هو تہ جڏهن انهن کي ايترا ديني اعزاز حاصل آهن ۽ هو ايترا وڏا وڏا ديني ڪارناما سر انجام ڏئي رهيا آهن تہ ڪيئن ممڪن آهي تہ خدا انهن کي جهنم ۾ وجهي ڇڏيندو.

اِنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا يُنۡفِقُوۡنَ اَمۡوَالَهُمۡ لِيَصُدُّوۡا عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ ؕ فَسَيُنۡفِقُوۡنَهَا ثُمَّ تَكُوۡنُ عَلَيۡهِمۡ حَسۡرَةً ثُمَّ يُغۡلَبُوۡنَ ؕ وَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اِلٰى جَهَنَّمَ يُحۡشَرُوۡنَ ﴿۳۶﴾ لِيَمِيۡزَ اللّٰهُ الۡخَبِيۡثَ مِنَ الطَّيِّبِ وَ يَجۡعَلَ الۡخَبِيۡثَ بَعۡضَهٗ عَلٰى بَعۡضٍ فَيَرۡكُمَهٗ جَمِيۡعًا فَيَجۡعَلَهٗ فِىۡ جَهَنَّمَ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الۡخٰسِرُوۡنَ ﴿۳۷﴾ ع ١٨

جن ماڻهن انڪار ڪيو، هو پنهنجي مال کي ان لاءِ خرچ ڪن ٿا تہ ماڻهن کي الله جي راهہ کان روڪين. هو اُن کي خرچ ڪندا رهندا پوءِ اِهو انهن جي لاءِ حسرت بڻبو پوءِ اُهي مغلوب ڪيا ويندا. ۽ جن انڪار ڪيو انهن کي جهنم ڏانهن گڏ ڪيو ويندو. تہ جيئن الله پليت کي الڳ ڪري پاڪ کان ۽ پليت کي پليت مٿان گڏ ڪري پوءِ انهي ڍير کي جهنم ۾ وجهي ڇڏي، اهي ئي ماڻهو خساري وارا آهن. ٣٦-٣٧

---

انسانن ۾ ڪجهہ پاڪ آهن ۽ ڪجهہ ناپاڪ. ڪجهہ روحن جي غذا اُهي شيون هونديون آهن جيڪي خدا کي پسند آهن ۽ ڪجهہ روحن کي انهن شين ۾ لذت ملندي آهي جيڪي انهن جي نفس کي يا شيطان کي پسند آهن.

عام حالتن ۾ اهي ٻنهي قسمن جا ماڻهو هڪٻئي سان مليل رهندا آهن. بظاهر انهن ۾ ڪو فرق ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي. اُن ڪري الله تعالىٰ ماڻهن جي وچ ۾ حق ۽ باطل جي ڪشمڪش پيدا ڪندو آهي تہ جيئن ٻنهي قسمن جا ماڻهو هڪٻئي کان ڌار ٿي وڃن ۽ اهو معلوم ٿي وڃي تہ ڪير ڪهڙو هو.

هن ڪشمڪش ۾ اِهو پڌرو ٿي ويندو آهي تہ ڪير حق جي سامهون اچڻ کان پوءِ فوراً اُن کي مڃي وٺندو آهي ۽ ڪير اُهو آهي جيڪو اُن جو انڪار ڪري ڇڏي ٿو. ڪير ٻين سان معاملن ۾ انصاف جي حد تي قائم رهي ٿو ۽ ڪير بي انصافي تي لهي ايندو آهي. ڪير خدا جي زمين ۾ عاجزي اختيار ڪري ٿو ۽ ڪير سرڪش بڻجي رهي ٿو. ڪير سچائي جي راهہ ۾ پنهنجو مال خرچ ڪرڻ وارو آهي ۽ ڪير تعصب ۽ نمائش جي راهہ ۾.

جيڪي ماڻهو حق کي ڇڏي ٻين راهن ۾ پنهنجون ڪوششون استعمال ڪندا آهن، سندن عمل کي شيطان سندن نظر ۾ اهڙو حسين بڻائيندو رهندو آهي جو هو سمجهن ٿا تہ هو اعلىٰ ڪارنامو انجام ڏئي رهيا آهن، هو شاندار مستقبل ڏانهن وڌي رهيا آهن. پر اُن غلط فهمي جي عمر تمام ٿوري آهي. تمام جلد ماڻهو تي اِهو وقت اچي ويندو آهي جڏهن هو ڄاڻي وٺندو آهي تہ اُن جيڪو ڪجهہ ڪيو هو، اُهو رڳو پنهنجي قوت ۽ پنهنجي مال کي ضايع ڪرڻو هو، هو جنهن مستقبل ڏانهن وڌي رهيو هو، اُهو حسرت ۽ مايوسي جو مستقبل هو. جنهن کي هو ڪوڙي خوش فهمي جي ڪري روشن مستقبل ڏانهن

سفر جي هر معنيٰ سمجهي رهيو هو. خالص دعوت اٿندي آهي تہ اُهي سيئي ماڻهو پاڻ تي ان جي چوٽ لڳندي محسوس ڪندا آهن جيڪي ملاوٽي دين جي بنياد تي سرداري قائم ڪيل هوندا آهن. اُهي رواجي ڍانچي جي حفاظت لاءِ پنهنجي سڄي طاقت خرچ ڪري ڇڏيندا آهن جنهن جي اندر انهن کي وڏائي جو مقام حاصل آهي، پر اهڙا ماڻهو خالص حق جي مقابلي ۾ لازمي ناڪام ٿيندا آهن، ڪڏهن دليل جي ميدان ۾ ۽ ڪڏهن اُن ئي سان گڏ عمل جي ميدان ۾ بہ.

موجوده دنيا جا هنگاما رڳو اُن ڪري جاري ڪيا ويا آهن تہ پاڪ روحن کي ۽ ناپاڪ روحن کي هڪٻئي کان الڳ ڪري ڇڏجي. اِهو ڌار ڪرڻ وارو عمل جڏهن پورو ٿي ويندو تہ خدا پاڪ روحن کي جنت ۾ داخل ڪندو ۽ ناپاڪ روحن کي جمع ڪري جهنم ۾ ڌڪي ڇڏيندو.

قُلۡ لِّلَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اِنۡ يَّنۡتَهُوۡا يُغۡفَرۡ لَهُمۡ مَّا قَدۡ سَلَفَ‌ ۚ وَاِنۡ يَّعُوۡدُوۡا فَقَدۡ مَضَتۡ سُنَّتُ الۡاَوَّلِيۡنَ ﴿٣٨﴾ وَقَاتِلُوۡهُمۡ حَتّٰى لَا تَكُوۡنَ فِتۡنَةٌ وَّيَكُوۡنَ الدِّيۡنُ كُلُّهٗ لِلّٰهِ‌ ۚ فَاِنِ انْتَهَوۡا فَاِنَّ اللّٰهَ بِمَا يَعۡمَلُوۡنَ بَصِيۡرٌ ﴿٣٩﴾ وَاِنۡ تَوَلَّوۡا فَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ مَوۡلٰٮكُمۡ‌ؕ نِعۡمَ الۡمَوۡلٰى وَنِعۡمَ النَّصِيۡرُ ﴿٤٠﴾

انڪار ڪرڻ وارن کي چئو تہ جيڪڏهن اُهي باز اچي وڃن تہ جيڪو ڪجهہ ٿي گذريو آهي اُهو انهن کي معاف ڪيو ويندو. ۽ جيڪڏهن هُو ٻيهر اُهوئي ڪندا تہ اسان جو معاملو اڳين سان ٿي چڪو آهي. ۽ انهن سان وڙهو ايستائين جو فتنو باقي نہ رهي ۽ دين سڄو الله جي لاءِ ٿي وڃي. پوءِ جيڪڏهن اُهي باز اچي وڃن تہ الله سندن عمل کي ڏسڻ وارو آهي. ۽ جيڪڏهن اُهي منهن موڙين تہ ڄاڻي وٺو تہ الله توهان جو مددگار آهي ۽ اُهو ڪهڙو نہ سٺو حامي آهي ۽ ڪهڙو نہ سٺو مددگار آهي. ٣٨-٤٠

---

اسلام جو اصول اِهو آهي تہ جيڪو ماڻهو جهڙو عمل ڪري ان جي مطابق هُو پنهنجو بدلو پائيندو. پوءِ بہ الله تعاليٰ ان عام اصول ۾ پنهنجي رحمت سان هڪ خاص گنجائش رکي آهي. اِهو تہ ماڻهو جڏهن ”توبهہ“ ڪري وٺي تہ ان ڪانپوءِ ان جي پوئين عملن تي ان کي ڪا سزا نہ ڏني ويندي. هڪ ماڻهو خدا کان دوري جي زندگي گذاري رهيو هو، پوءِ اُن کي هدايت جي روشني ملي، هُن سچو مؤمن بڻجي صالح زندگي اختيار ڪري ورتي تہ هُن ماضي ۾ جيڪي برايون ڪيون هيون سي سڀ معاف ڪيون وينديون. ان جي پوين گناهن تي ان کي پڪڙيو نہ ويندو.

نيڪ اِهوئي اصول اجتماعي ۽ سياسي معاملن ۾ بہ آهي. ڪنهن مقام تي حق ۽ باطل جي ڪشمڪش شروع ٿيندي آهي پاڻ ۾ ٽڪراءُ ٿيندو آهي، ان ٽڪراءَ ۾ باطل جا علمبردار حق جي لاءِ اٿڻ وارن تي ظلم ڪندا آهن، آخرڪار جنگ جو فيصلو ٿيندو آهي، حق پرست غالب اچي ويندا آهن ۽ ناحق جا علمبردار مغلوب ڪيا ويندا آهن. ان معاملي ۾ بہ اسلام جو اصول اهوئي آهي جيڪو مٿي ذڪر ڪيل آهي، يعني فتح ڪانپوءِ ماضي جي ظلم ۽ ستم تي ڪنهن کي سزا نہ ڏني ويندي. البت جيڪو ماڻهو فتح ڪانپوءِ اهڙي حرڪت ڪري جيڪا اسلامي قانون ۾ جرم قرار ڏني وئي هجي تہ ضروري ڪارروائي ڪانپوءِ اُن کي اُها سزا ملندي جيڪا شريعت اِهڙي هڪ مجرم جي لاءِ مقرر ڪئي آهي.

فتني جو مطلب ستائڻ ”Persecution“آهي. قديم زماني ۾ سرداري ۽ حڪومت شرڪ جي بنياد تي قائم ٿيندي هئي. اڄ حڪومت ڪرڻ وارا عوام جا نمائندا بڻجي حڪومت ڪندا آهن، ماضي ۾ خدا يا خدا جي شريڪن جو نمائندو بڻجي ماڻهو حڪومت ڪندا هئا. ان جي نتيجي ۾ شرڪ کي قديم سماج ۾ اقتدار واري حيثيت حاصل ٿي وئي هئي. اهل شرڪ اهل توحيد کي ستائيندا رهندا هئا. الله پنهنجي رسول ۽ سندس ساٿين کي حڪم ڏنو ته شرڪ ۽ اقتدار جي باهمي تعلق کي ٽوڙيو ته جيئن مشرڪ اهل توحيد کي ستائڻ جي طاقت کان محروم ٿي وڃن. تنهن ڪري پاڻ ﷺ جي ذريعي جيڪو عالمي انقلاب آيو، ان هميشہ جي لاءِ شرڪ جو رشتو سياسي نظام سان ختم ڪري ڇڏيو. هاڻي شرڪ سڄي دنيا ۾ رڳو هڪ مذهبي عقيدو آهي نه وري اُهو سياسي نظريو جنهن جي بنياد تي حڪومتن جو قيام عمل ۾ ايندو آهي. پر جيستائين عرب جو تعلق آهي، اتي اِهو مقصد ٻن صورتن ۾ مطلوب هو، اُتي شرڪ ۽ مشرڪن ٻنهي کي ختم ڪرڻو هو، ته جيئن حرم جي علائقي کي هميشہ جي لاءِ خالص توحيد جو مرڪز بڻايو وڃي. رسول الله ﷺ حڪم ڏنو ته جزيره عرب مان مشرڪن کي ڪڍي ڇڏيو. اِهو ڪم رسول الله ﷺ جي زماني ۾ شروع ٿيو ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي خلافت جي زماني ۾ پنهنجي تڪميل تي پهتو.

الجزء العاشر (١٠)

وَ اعۡلَمُوۡۤا اَنَّمَا غَنِمۡتُمۡ مِّنۡ شَیۡءٍ فَاَنَّ لِلّٰهِ خُمُسَهٗ وَ لِلرَّسُوۡلِ وَ لِذِی الۡقُرۡبٰی وَ الۡیَتٰمٰی وَ الۡمَسٰکِیۡنِ وَ ابۡنِ السَّبِیۡلِ ۙ اِنۡ کُنۡتُمۡ اٰمَنۡتُمۡ بِاللّٰهِ وَ مَاۤ اَنۡزَلۡنَا عَلٰی عَبۡدِنَا یَوۡمَ الۡفُرۡقَانِ یَوۡمَ الۡتَقَی الۡجَمۡعٰنِ ؕ وَ اللّٰهُ عَلٰی کُلِّ شَیۡءٍ قَدِیۡرٌ ﴿۴۱﴾

ڄاڻي وٺو ته جيڪو ڪجهه مال غنيمت توهان کي حاصل ٿيو آهي ان جو پنجون حصو الله ۽ رسول جي لاءِ ۽ رشتيدارن ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن جي لاءِ آهي، جيڪڏهن توهان ايمان رکو ٿا الله تي ۽ اُن شيءِ تي جيڪا اسان پنهنجي ٻانهي (محمد) تي نازل ڪئي فيصلي جي ڏينهن، جنهن ڏينهن ٻئي جماعتون منهن مقابل ٿيون ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي. ٤١

---

غنيمت عربي زبان ۾ ان مال کي چوندا آهن جيڪو جنگ جي ميدان ۾ دشمن سان وڙهي حاصل ڪيو ويو هجي. قديم زماني ۾ اهو رواج هو ته جنگ کان پوءِ دشمن جي جيڪا شيءِ جنهن جي هٿ لڳي اُها اُن جي سمجهي ويندي هئي. اسلام اِهو اصول مقرر ڪيو ته هر هڪ کي جيڪو ڪجهه مليو هجي اُهو سڀ جو سڀ آڻي امير وٽ جمع ڪري، ڪو ماڻهو سُئي جو ڌاڳو به نه لڪائي رکي.

اهڙي طرح غنيمت جو سڄو مال جمع ڪرڻ کانپوءِ ان مان پنجون حصو خدا جو آهي، جنهن کي رسول نيابت طور وصول ڪري پنج جڳهن تي اهڙي طرح خرچ ڪندو ته هڪ حصو پنهنجي ذات تي، ٻيو پنهنجي رشتيدارن تي، جنهن رشتي جي بنياد تي مشڪل وقتن ۾ پاڻ ﷺ جي ديني مشن ۾ ساٿ ڏنو ۽ يتيمن تي ۽ حاجتمندن تي ۽ مسافرن تي. اُن کان پوءِ باقي چار حصن کي سيني فوجين جي وچ ۾ اهڙي طرح تقسيم ڪيو وڃي، جو سوار کي ٻه حصا ملن ۽ پيدل کي هڪ حصو.

اسلام اهو ذهن ٺاهڻ چاهي ٿو تہ ماڻهوءَ کي جيڪا شيءِ ملي، هو اُن کي خدا طرفان مليل شيءِ سمجهي. هن دنيا ۾ ڪنهن واقعي کي ظهور ۾ آڻڻ لاءِ بيشمار سببن جي هڪ ئي وقت موافقت ضروري آهي، جيڪا ڪنهن بہ انسان جي وس ۾ نہ آهي. بدر جي لڙائي ۾ هڪ بي حد طاقت ور جماعت جي مقابلي ۾ هڪ ڪمزور جماعت جو غالب اچڻ، اُن ڳالهہ جو غير معمولي ثبوت هو تہ جيڪو ڪجهہ ٿيو آهي سو خدا جي طرفان ٿيو آهي. اهڙي حالت ۾ فتح ڪان پوءِ مليل شيءِ کي خدا طرفان مليل شيءِ سمجهڻ عين اُن حقيقت کي مڃڻ هو، جيڪا واقعن جي نتيجي ۾ فطري طور تي سامهون آئي.

مال غنيمت ۾ ٻين مستحق ڌرين جو حصو رکڻ اُن ڳالهہ جو سبق آهي جو مال ۾ حقدار ٿيڻ جو بنياد رڳو محنت ۽ وراثت نہ آهي، بلڪ اهڙا بنياد بہ آهن جيڪي محنت ۽ وراثت جهڙين شين جي دائري ۾ نٿا اچن. ان استحقاق جو اعتراف ڄڻ تہ اُن حقيقت جو عملي اعتراف آهي تہ ماڻهو شين کي خدا جي شيءِ سمجهي نہ وري پنهنجي شيءِ.

غنيمت جي هن قانون ۾ ٽيون زبردست سبق اِهو آ هي تہ ملڪيت جو بنياد قبضو نہ آهي، بلڪ اصول آهي. ڪو ماڻهو رڳو اُن جي ڪري ڪنهن شيءِ جو مالڪ نہ ٿو بڻجي سگهي تہ اها اتفاق سان اُن جي قبضي ۾ اچي وئي آهي. قبضي جي باوجود ماڻهوءَ کي ڪپي تہ اُن شيءِ کي ذميدار ماڻهن جي حوالي ڪري ۽ اصولي ۽ قانوني بنياد تي هُن کي جيترو ملڻ کپي اُن کي وٺي اُن تي راضي ٿي وڃي.

اِذۡ اَنۡتُمۡ بِالۡعُدۡوَةِ الدُّنۡيَا وَ هُمۡ بِالۡعُدۡوَةِ الۡقُصۡوٰى وَ الرَّكۡبُ اَسۡفَلَ مِنۡكُمۡ ؕ وَ لَوۡ
تَوَاعَدۡتُّمۡ لَاخۡتَلَفۡتُمۡ فِى الۡمِيۡعٰدِ ۙ وَ لٰكِنۡ لِّيَقۡضِىَ اللّٰهُ اَمۡرًا كَانَ مَفۡعُوۡلًا ۙ لِّيَهۡلِكَ مَنۡ
هَلَكَ عَنۡۢ بَيِّنَةٍ وَّ يَحۡيٰى مَنۡ حَىَّ عَنۡۢ بَيِّنَةٍ ؕ وَ اِنَّ اللّٰهَ لَسَمِيۡعٌ عَلِيۡمٌ ﴿۴۲﴾ اِذۡ يُرِيۡكَهُمُ اللّٰهُ
فِىۡ مَنَامِكَ قَلِيۡلًا ؕ وَ لَوۡ اَرٰىكَهُمۡ كَثِيۡرًا لَّفَشِلۡتُمۡ وَ لَتَنَازَعۡتُمۡ فِى الۡاَمۡرِ وَ لٰكِنَّ اللّٰهَ
سَلَّمَ ؕ اِنَّهٗ عَلِيۡمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوۡرِ ﴿۴۳﴾ وَ اِذۡ يُرِيۡكُمُوۡهُمۡ اِذِ الۡتَقَيۡتُمۡ فِىۡۤ اَعۡيُنِكُمۡ قَلِيۡلًا وَّ
ع ۶ يُقَلِّلُكُمۡ فِىۡۤ اَعۡيُنِهِمۡ لِيَقۡضِىَ اللّٰهُ اَمۡرًا كَانَ مَفۡعُوۡلًا ؕ وَ اِلَى اللّٰهِ تُرۡجَعُ الۡاُمُوۡرُ ﴿۴۴﴾

۽ جڏهن توهان واديءَ جي اورينءَ پر هئا ۽ هو پرينءَ پر ۽ قافلو توهان کان هيٺينءَ پر هو. ۽ جيڪڏهن توهان ۽ هو ڪو وقت مقرر ڪريو ها تہ ضرور اُن جي باري ۾ اختلاف ٿي وڃي ها. پر جيڪو ٿيو اُهو اُن ڪري ٿيو تہ جيئن الله اُن امر جو فيصلو ڪري ڇڏي جنهن کي ٿيڻو هو، تہ جيئن جنهن کي هلاڪ ٿيڻو آهي هو روشن دليل سان هلاڪ ٿئي ۽ جنهن کي زنده رهڻو آهي اُهو روشن دليل سان زنده رهي. يقينًا الله ٻڌڻ وارو ڄاڻڻ وارو آهي. جڏهن الله تنهنجي خواب ۾ انهن کي ٿورا ڪري ڏيکاريا. جيڪڏهن هو انهن کي گهڻا ڏيکاري ها تہ توهان همت هاري وڃو ها اُن معاملي ۾ پاڻ ۾ جهڳڙو ڪريو ها. پر الله توهان کي بچائي ورتو. يقينًا هو دلين جو حال ڄاڻي ٿو. ۽ جڏهن الله انهن ماڻهن کي توهان جي نظر ۾ ٿورو ڪري ڏيکاريو ۽ توهان کي انهن جي نظر ۾ ٿورو ڪري ڏيکاريو تہ جيئن الله اُن امر جو فيصلو ڪري ڇڏي جنهن جو ٿيڻ طي هو. ۽ سڀ معاملا الله ڏانهن ئي موٽايا وڃن ٿا. ۴۲-۴۴

الله تعاليٰ کي اِهو گهربل آهي ته حق جو حق ۽ باطل جو باطل ٿيڻ ماڻهن تي پوري طرح ظاهر ٿي وڃي. اِهو ڪم شروع ۾ دعوت جي ذريعي دليلن جي زبان ۾ ٿيندو آهي. داعي مضبوط ۽ عام فهم دليلن جي ذريعي حق جو حق هئڻ ۽ باطل جو باطل هئڻ ثابت ڪندو آهي. حق جو حق هئڻ ۽ باطل جو باطل هئڻ واري ڪم جي تڪميل آخر ۾ غير معمولي واقعن سان ڪئي ويندي آهي، اِهو غير معمولي واقعو ڪو آسماني معجزو هجي يا زميني غلبو. بدر جي جنگ ۾ اِهوئي ٻيو واقعو پيش آيو.

مڪي جا قُريش اُن ڪري نڪتا هئا ته شام ڪان اچڻ واري پنهنجي تجارتي قافلي جي مدد ڪن. مسلمان مديني ڪان اُن ڪري نڪتا ته تجارتي قافلي تي حملو ڪن. تجارتي قافلو اصل رستي کي ڇڏي سمنڊ جي ڪناري سان گذريو ۽ بچي ويو. ۽ اِهي ٻئي ڌريون بدر پهچي منهن مقابل ٿي پيون. اِهو الله جي تدبير سان ٿيو. ٻنهي کي هڪٻئي سان ٽڪرائي اهل ايمان کي فتح ڏني وئي. اهڙي طرح رسول اللهﷺ ۽ سندس مشن جي صداقت ماڻهن تي پوري طرح کلي وئي. جيڪي ماڻهو سچا طالب هئا، انهن تي آخري حد تائين اها ڳالهه واضح ٿي وئي ته اِهو ئي حق آهي. ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجي اندر ڪنهن قسم جي نفسياتي پيچيدگيءَ جو شڪار هئا انهن اُن کان پوءِ به پنهنجي مسلڪ تي قائم رهي ثابت ڪري ڇڏيو ته هو اُنهي قابل آهن جو انهن کي هلاڪ ڪري ڇڏجي.

بدر ۾ قريش جي فوج جو تعداد گهڻو هو. جيڪڏهن مسلمان انهن جي اصل تعداد کي ڏسن ها ته ڪو چوي ها ته وڙهو ۽ ڪو چوي ها ته نه وڙهو. اهڙي طرح اختلاف پيدا ٿي وڃي ها ۽ اصل ڪم ٿيڻ کان رهجي وڃي ها. خدا موقعي جي لحاظ کان ڪڏهن تعداد گهٽائي ڏيکاريو ۽ ڪڏهن وڌائي، اهڙي طرح ممڪن ٿي سگهيو ته سيئي مسلمان بي جگري سان وڙهن. خدا کي جڏهن ڪو ڪم مطلوب هوندو آهي ته هو اهڙي طرح پنهنجي مدد موڪلي اُن ڪم جي تڪميل جو سامان ڪري ڇڏيندو آهي.

عمل دوران جيڪي حالتون پيش اينديون آهن، اُهي خدا طرفان هونديون آهن ۽ اِهو ڏسڻ لاءِ هونديون آهن ته ڪنهن ماڻهو پنهنجن حالتن دوران ڪهڙي قسم جو رد عمل پيش ڪيو.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا لَقِيْتُمْ فِئَةً فَاثْبُتُوْا وَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ۝٤٥ وَ
اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَلَا تَنَازَعُوْا فَتَفْشَلُوْا وَتَذْهَبَ رِيْحُكُمْ وَاصْبِرُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ
الصّٰبِرِيْنَ ۝٤٦ وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ بَطَرًا وَّرِئَآءَ النَّاسِ وَيَصُدُّوْنَ
عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ۝٤٧

اي ايمان وارؤ! جڏهن ڪنهن جماعت سان توهان جو مقابلو ٿئي ته توهان ثابت قدم رهو ۽ الله کي گهڻو ياد ڪريو ته جيئن توهان ڪامياب ٿيو. ۽ اطاعت ڪريو الله جي ۽ اُن جي رسول جي ۽ پاڻ ۾ جهڳڙو نه ڪريو نه ته توهان ۾ ڪمزوري اچي ويندي ۽ توهان جي (يڪجهتي جي) هوا نڪري ويندي ۽ صبر ڪريو، بيشڪ الله صبر ڪرڻ وارن سان گڏ آهي ۽ انهن ماڻهن وانگر نه ٿيو جيڪي پنهنجن گهرن مان تڪبر سان ۽ ماڻهن جي ڏيکاءَ واسطي نڪتا ۽ جيڪي الله جي راهه کان روڪيندا آهن. حالانڪ هو جيڪو ڪجهه ڪري رهيا آهن الله اُن جو گهيرو ڪندڙ آهي. ٤٥-٤٧

ڪاميابي خدا جي مدد سان ايندي آهي، پر خدا جي مدد هميشه سببن جي پردي ۾ ايندي آهي نه وري بي سبب حالتن ۾. مسلمان جيڪڏهن پنهنجي ممڪن اسبابن کي جمع ڪن ته باقي ڪمي خدا طرفان پوري ڪري انهن کي ڪامياب ڪيو ويندو آهي. پر جيڪڏهن هو بي اسبابي جو مظاهرو ڪن ته خدا ڪڏهن ايئن نه ٿو ڪري سگهي جو بي اسبابي جي نقشي ۾ انهن جي لاءِ پنهنجي مدد موڪلي ڇڏي.

اسباب ڇا آهن؟ اسباب هي آهن ته مسلمان اڳرائي نه ڪن. هُو پنهنجي بنيادن کي مضبوط ڪرڻ ۾ لڳا رهن، ايستائين جو دشمن پاڻ چڙهائي ڪري انهن سان وڙهڻ جي لاءِ اچي وڃي. پوءِ جڏهن ٽڪراءَ جي صورت پيدا ٿي وڃي ته هُو ان جي مقابلي ۾ پوري طرح ثابت قدمي جو ثبوت ڏين. الله جي ياد ٻين لفظن ۾ جيڪو اصل مقصد آهي ان کي هميشه پنهنجي سامهون رکن ته جيئن انهن جو قلبي حوصلو باقي رهي. سردار جي حڪم تي پوري طرح منظم رهن. باهمي اختلاف کي نظر انداز ڪن نه وري اختلاف کي وڌائي ٽولا ٽولا ٿي وڃن. هُو پنهنجي اتحاد سان دشمن کي مرعوب ڪن. هو صبر ڪن، يعني جوش جي بجاءِ هوش کان ڪم وٺن. جلد ڪاميابي جي شوق ۾ جلدي بازيءَ جو مظاهر نه ڪن. انهن جي نظر هميشه آخري منزل تي هجي، نه وري وقتي مصلحتن ۽ فائدن تي. اِنهن ئي شين جو نالو اسباب آهي ۽ اِنهن اسبابن جي پردي ۾ خدا جي مدد ايندي آهي.

موجوده دنيا امتحان جي دنيا آهي. هِتي خدا "غيب" ۾ رهي ڪري پنهنجا سڀ ڪم انجام ڏيندو آهي، ان ڪري جڏهن هُو مسلمانن جي مدد ڪندو آهي ته اسبابن جي پردي ۾ ڪندو آهي. مسلمان جيڪڏهن اسبابن جو ماحول پيدا نه ڪن، هُو بي حوصلا ٿيڻ جو ثبوت ڏين، هُو ابتدائي تياري جي بغير اڳرائي ڪن. هُو اختلاف ۽ انتشار ۾ مبتلا هجن، ته انهن کي ڪڏهن به اِها اميد نه ڪرڻ کپي ته خدا غيب جو پردو ڦاڙي سامهون اچي ويندو ۽ بي اسبابيءَ جو شڪار هئڻ جي باوجود اسبابن کانسواءِ انهن جي مدد ڪري، انهن جا سيئي ڪم ٺاهي ڇڏيندو.

مسلمان جيڪڏهن پنهنجي دشمن جي مقابلي ۾ پاڻ کي بهتر حالت ۾ ڏسن تڏهن به ايئن نه ٿيڻ کپي جو هو ڪافرن وانگر پنهنجي طاقت تي تڪبر ڪن، هُو فخر ۽ ڏيکاءَ جي جذبن ۾ مبتلا ٿي وڃن. اهي وڏائي جي خيال ۾ حد کان وڌي وڃن جو هڪ ماڻهو جا رڳو ان ڪري مخالف بڻجي وڃن. جو هُو اِهڙي حق جي دعوت ڏئي رهيو آهي، جنهن جي چوٽ خود انهن جي ذات تي لڳي رهي آهي.

وَ اِذْ زَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ وَ قَالَ لَا غَالِبَ لَكُمُ الْيَوْمَ مِنَ النَّاسِ وَ اِنِّيْ جَارٌ
لَّكُمْ ۚ فَلَمَّا تَرَآءَتِ الْفِئَتٰنِ نَكَصَ عَلٰى عَقِبَيْهِ وَ قَالَ اِنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّنْكُمْ اِنِّيْٓ اَرٰى مَا لَا
ع تَرَوْنَ اِنِّيْٓ اَخَافُ اللّٰهَ ؕ وَ اللّٰهُ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۴۸﴾ اِذْ يَقُوْلُ الْمُنٰفِقُوْنَ وَ الَّذِيْنَ فِيْ
قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ غَرَّ هٰٓؤُلَآءِ دِيْنُهُمْ ؕ وَ مَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَاِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۴۹﴾

۽ جڏهن شيطان انهن کي سندن عمل خوشنما بڻائي ڏيکاريا ۽ چيائين ته ماڻهن ۾ اڄ ڪو توهان تي غالب اچڻ

وارو نہ آهي ۽ آئون توهان سان گڏ آهيان. پر جڏهن ٻئي جماعتون آمهون سامهون ٿيون تہ هو پوئين پير پٺو ۽ چيائين تہ آئون توهان کان بري آهيان. آئون اُهو ڪجھ ڏسي رهيو آهيان جيڪي توهان ماڻهو نہ ٿا ڏسو. آئون الله کان ڊڄان ٿو ۽ الله سخت سزا ڏيڻ وارو آهي. جڏهن منافق ۽ جن جي دلين ۾ مرض آهي چوندا هئا تہ انهن ماڻهن کي اُنهن جي دين دوکي ۾ وجهي ڇڏيو آهي ۽ جيڪو الله تي ڀروسو ڪري تہ الله وڏو زبردست ۽ حڪمت وارو آهي. ٤٨-٤٩

---

مڪي جا مخالف پاڻ کي حق تي ۽ پيغمبر جي ساٿين کي باطل تي سمجهندا هئا. اُن ڳالھ تي انهن کي ايترو يقين هو تہ اُنهن ڪعبي جي سامهون بيهي دعا ڪئي تہ خدايا، ٻنهي جماعتن ۾ جيڪا ڌر حق تي هجي، تون ان کي ڪامياب ڪر ۽ جيڪا ڌر باطل تي هجي، تو ان کي هلاڪ ڪري ڇڏ. جيئن تہ انهن جو اِهو يقين ڪوڙو يقين هو. اِهڙي قسم جو يقين هميشہ شيطان جو پيدا ڪيل هوندو آهي.

شيطان مڪي جي ماڻهن کي سيڪاريو تہ توهان تاريخ جي مڃيل پيغمبرن (ابراهيم عليہ السلام اسماعيل عليہ السلام) جا مڃڻ وارا آهيو. جڏهن تہ مسلمان هڪ اِهڙي ماڻهو کي مڃيندا آهن. جنهن جو پيغمبر هجڻ اڃا هڪ اختلافي مسئلو آهي. توهان ڪعبي جا وارث آهيو. جڏهن تہ مسلمانن کي ڪعبي جي سرزمين مان ڪڍيو ويو آهي. توهان بزرگن جي روايتن کي قائم رکڻ جي لاءِ وڙهي رهيا آهيو، جڏهن تہ مسلمان بزرگن جي روايتن کي ٽوڙڻ جي لاءِ اٿيا آهن. شيطان مڪي وارن جي دلين ۾ اِهڙي قسم جا خيالَ وجهي انهن کي ڪوڙي يقين ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. هو سمجهندا هئا تہ اسان جيڪو ڪجھ ڪري رهيا آهيون، اِهو درست ڪري رهيا آهيون ۽ خدا جي مدد هر حال ۾ اسان کي حاصل ٿيندي.

مڪي جي مخالفن هڪ طرف پنهنجي ڪوڙي يقين کي اِهڙي قسم جي شين جي ڪري سچو يقين سمجهي رهيا هئا. ٻئي طرف جڏهن هو ڏسندا هئا تہ پيغمبر جا ساٿي انهن کان بہ گهٽي يقين ۽ سرفروشي جي جذبي سان اسلام جي محاذ تي پاڻ کي لڳائي رکيو آهي تہ هُو انهن جي سچي يقين کي اُهو چئي بي اعتبار ثابت ڪندا هئا تہ اهو رڳو هڪ مذهبي جنون آهي. اِهي هڪ شخص (پيغمبر) جي خوبصورت ڳالهين ۾ اچي ديوانا ٿي ويا آهن. انهن جي يقين ۽ قرباني جي ان ڪان وڌيڪ ٻي ڪا حقيقت نہ آهي.

پر جڏهن ٻنهي گروهن ۾ مقابلو ٿيو ۽ مسلمانن جي لاءِ الله جي مدد لٿي تہ شيطان اسلام جي مخالفن کي ڇڏي ڀڄي ويو. هڪ طرف خدا جي مدد سان مسلمانن جون دليون وڌيڪ مضبوط ٿي ويون. ٻي طرف مخالفن جو ڪوڙو يقين بي دلي ۽ بي همتي ۾ بدلجي ويو. ڇاڪاڻ تہ انهن جو اعتماد شيطان تي هو ۽ شيطان انهن کي ڇڏي ڀڄي ويو هو. جيڪي ماڻهو الله تي ڀروسو ڪن الله ضرور انهن جي مدد ڪندو آهي. پر الله جي مدد هميشہ ان وقت ايندي آهي، جڏهن تہ ايمان وارا الله تي يقين جو ايترو وڏو ثبوت ڏين جو بي يقين ماڻهو چئي ڏين تہ آهي تہ مجنون ٿي ويا آهن.

وَ لَوۡ تَرٰۤی اِذۡ یَتَوَفَّی الَّذِیۡنَ کَفَرُوا ۙ الۡمَلٰٓئِکَۃُ یَضۡرِبُوۡنَ وُجُوۡهَهُمۡ وَ اَدۡبَارَهُمۡ ۚ وَ ذُوۡقُوۡا عَذَابَ الۡحَرِیۡقِ ﴿۵۰﴾ ذٰلِکَ بِمَا قَدَّمَتۡ اَیۡدِیۡکُمۡ وَ اَنَّ اللّٰهَ لَیۡسَ بِظَلَّامٍ لِّلۡعَبِیۡدِ ﴿ۙ۵۱﴾ کَدَاۡبِ اٰلِ فِرۡعَوۡنَ ۙ وَ الَّذِیۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ ؕ کَفَرُوۡا بِاٰیٰتِ اللّٰهِ فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوۡبِهِمۡ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

قَوِيٌّ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٥٢﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ لَمْ يَكُ مُغَيِّرًا نِّعْمَةً اَنْعَمَهَا عَلٰى قَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا
مَا بِاَنْفُسِهِمْ ۙ وَ اَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٥٣﴾ كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ
كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ فَاَهْلَكْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ وَ اَغْرَقْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ ۚ وَ كُلٌّ كَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ﴿٥٤﴾

۽ جيڪڏهن تون ڏسين جڏهن فرشتا انهن مشرڪن جي جان قبض ڪندا آهن، سندن منهن ۽ پٺين تي ماريندا آهن ۽ اُهي چوندا اٿن تہ هاڻي ساڙيندڙ عذاب چکو. اِهو بدلو آهي ان جو جيڪو توهان پنهنجي هٿن سان اڳتي موڪليو هو ۽ الله هرگز پانهن تي ظلم ڪرڻ وارو نہ آهي. فرعون وارن وانگر ۽ جيڪي انهن کان پهرين هئا جن الله جي آيتن جو انڪار ڪيو، پوءِ الله سندن گناهن جي ڪري کين پڪڙيو. بيشڪ الله قوت وارو، سخت سزا ڏيڻ وارو آهي. اِهو اُن ڪري ٿيو تہ الله اُن انعام کي جيڪو هو ڪنهن قوم تي ڪندو آهي ان وقت تائين نہ بدلائيندو آهي، جيستائين هو ان کي نہ بدلي ڇڏين جيڪو انهن جي نفسن ۾ آهي. ۽ بيشڪ الله ٻڌڻ وارو ڄاڻڻ وارو آهي. فرعون وارن وانگر ۽ جيڪي انهن کان اڳ گذري ويا انهن پنهنجي رب جي نشانين کي ڪوڙو ڄاتو، پوءِ اسان سندن گناهن جي ڪري کين هلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ اسان فرعون وارن کي غرق ڪري ڇڏيو ۽ اِهي سڀ ماڻهو ظالم هئا. ٥٠-٥٤

---

نعمت جو دارومدار استحقاق تي آهي. قومي سطح تي ڪنهن کي جيڪي نعمتون ملنديون آهن، اُهي هميشہ ان استحقاق جي مطابق هونديون آهن جيڪو سندن نفسياتي حالت جي لحاظ کان اُن قوم ۾ موجود هوندو آهي. اِهو "نفس" ڄاڪاڻ تہ فرد جي اندر هوندو آهي. اُن ڪري هن ڳالھ کي ٻين لفظن ۾ ايئن چئي سگهجي ٿو تہ اجتماعي انعامن جو انحصار انفرادي حالت تي آهي. فردن جي سطح تي قوم جنهن درجي تي هوندي آهي، اُن ئي مطابق اُن کي اجتماعي انعام ڏنا ويندا آهن. اُن جو مطلب اِهو آهي تہ ڪا جماعت جيڪڏهن خدا جي اجتماعي انعامن کي حاصل ڪرڻ چاهي ٿي تہ اُن کي پنهنجن فردن جي نفس جي اصلاح تي پنهنجي طاقت لڳائڻ کپي. اهڙي طرح ڪا قوم جيڪڏهن پاڻ کي هن حال ۾ ڏسي تہ اُن کان اجتماعي نعمتون کسجي ويون آهن تہ اُن کي انهن نعمتن جي پٺيان ڊوڙڻ جي بجاءِ فردن جي پويان ڊوڙڻ کپي. ڇاڪاڻ تہ فردن جي بگڙڻ جي ڪري ئي انهن کان نعمتون کسجي ويون آهن ۽ فردن جي اصلاح سان ئي اُهي ٻيهر اُنهن کي ملي سگهن ٿيون.

جڏهن ڪا قوم عدل جي بجاءِ ظلم ۽ عاجزي جي بجاءِ سرڪشي جو رويو اختيار ڪري ٿي، تہ پوءِ خدا جي طرفان اُن جي سامهون سچائي جو اعلان ڪرايو ويندو آهي تہ جيئن اُها آگاھ ٿي وڃي. اِهو اعلان وضاحت جي لحاظ کان خدا جي هڪ نشاني هوندو آهي. اُن کي مڃڻ خدا کي مڃڻ هوندو آهي ۽ اُن کي نہ مڃڻ خدا کي نہ مڃڻ. خدا جي دعوت جڏهن آيت (نشاني) جي حد تائين پڌري ٿي ماڻهن جي سامهون اچي وڃي، پوءِ بہ هو اُن جو انڪار ڪن تہ اُن کان پوءِ لازمي طور اُهي سزا جا مستحق بڻجي ويندا آهن. اُن سزا جو آغاز جيتوڻيڪ دنيا ۾ ئي ٿي ويندو آهي، پر جيئن تہ دنيا جي سزا اُن سزا جي مقابلي ۾ تمام گهٽ آهي، جيڪا موت کان پوءِ ماڻهوءَ جي سامهون اچڻ واري آهي. فرشتن جي مار، سڄي مخلوق جي سامهون رسوائي ۽ جهنم جي باھ ۾ سڙڻ، اِهي سڀ ايترا خوفناڪ مرحلا آهن جو موجوده حالت ۾ انهن جو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي.

انسان جڏهن ظلم ۽ سرڪشي جو رويو اختيار ڪندو آهي ته شروع ۾ اُن ڪي تنبيهه جي ذريعي ڏيڇاريو ويندو آهي. جيڪڏهن هو ان مان سبق نه پرائي ته آخرڪار هو خدا جي عذاب جي پڪڙ ۾ اچي ويندو آهي.

اِنَّ شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنۡدَ اللّٰهِ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا فَهُمۡ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۵۵﴾ اَلَّذِيۡنَ عٰهَدۡتَّ مِنۡهُمۡ
ثُمَّ يَنۡقُضُوۡنَ عَهۡدَهُمۡ فِىۡ كُلِّ مَرَّةٍ وَّ هُمۡ لَا يَتَّقُوۡنَ ﴿۵۶﴾ فَاِمَّا تَثۡقَفَنَّهُمۡ فِى الۡحَرۡبِ
فَشَرِّدۡ بِهِمۡ مَّنۡ خَلۡفَهُمۡ لَعَلَّهُمۡ يَذَّكَّرُوۡنَ ﴿۵۷﴾ وَ اِمَّا تَخَافَنَّ مِنۡ قَوۡمٍ خِيَانَةً فَانۢبِذۡ
اِلَيۡهِمۡ عَلٰى سَوَآءٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الۡخَآئِنِيۡنَ ﴿۵۸﴾

بيشڪ سڀني جاندارن ۾ بدترين الله جي نزديڪ اُهي ماڻهو آهن جن انڪار ڪيو ۽ اُهي ايمان نه ٿا آڻين. جن سان تو عهد ڪيو، پوءِ هُو هر ڀيري پنهنجو عهد ٽوڙي ٿا ڇڏين ۽ هُو نه ٿا ڊڄن. پوءِ جيڪڏهن تو کي لڙائي ۾ ملن ته انهن کي اِهڙي سزا ڏي جو جيڪي سندن پويان آهن اُهي به ڏسي ڀڄي وڃن، ته جيئن انهن کي عبرت ٿئي. ۽ جيڪڏهن تو کي ڪنهن قوم جي بد عهدي جو ڊپ هجي ته سندن عهد انهن ڏانهن اڇلائي ڇڏ، اِهڙي طرح جو تون ۽ اُهي برابر ٿي وڃن. بيشڪ الله خيانت ڪرڻ وارن کي پسند نه ٿو ڪري. ۵۵-۵۸

---

مديني جا يهودي رسول الله ﷺ جي رسالت جو انڪار ڪري خدا جي نظر ۾ مجرم ٿي ويا. ان جرم تي مزيد اضافو انهن جي بد عهدي هئي. هجرت ڪانپوءِ رسول الله ﷺ ۽ مديني جي يهودين جي وچ ۾ هڪ تحريري معاهدو ٿيو ته ٻئي هڪٻئي جي معاملي ۾ غير جانبدار رهندا. پر يهودين خفيه طور پاڻ ﷺ جي دشمنن (مشرڪين) سان ملي پاڻ ﷺ جي خلاف سازشون ڪرڻ لڳا. اِهو ڪفر تي بد عهدي جو اضافو هو. اِهو انڪار سان گڏ ڪميڻگي کي جمع ڪرڻ هو. اِهڙن ماڻهن جي لاءِ آخرت ۾ دردناڪ عذاب آهي ۽ دنيا ۾ اِهو حڪم آهي ته انهن جي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ته جيئن انهن جي شرارتن جو خاتمو ٿئي ۽ انهن جا ارادا پست ٿي وڃن.

جيڪڏهن ڪنهن قوم سان مسلمانن جو عهد هجي ۽ مسلمانن کي انهن طرفان بدعهدي جي انديشي جي ڪري انهن سان عهد کي ٽوڙڻ چاهين ته ضروري آهي ته هو پهرين انهن کي ان جو اطلاع ڪن ته جيئن ٻنهي کي اڳواٽ خبر پئجي وڃي ته هاڻي ٻنهي جي وچ ۾ عهد جي حالت باقي نه رهي آهي. امير معاويه ۽ رومي حڪمران ۾ هڪ دفعي مقرر وقت (ميعاد) جو معاهدو هو. معاهدي جي مدت قريب آئي ته امير معاويه پنهنجن فوجن کي خاموشي سان روم جي سرحد تي جمع ڪرڻ شروع ڪيو ته جيئن معاهدي جي تاريخ ختم ٿيندي ئي ٻئي ڏينهن اچانڪ رومي علائقي تي حملو ڪري ڇڏجي. ان وقت هڪ صحابي حضرت عمرو بن عنبسه رضي الله عنه گهوڙي تي آيا ۽ هُن بلند آواز سان چيو الله اڪبر الله اڪبر وفاءٌ لا غدرٌ (الله اڪبر عهد پورو ڪريو، عهد کي نه ٽوڙيو) هُن ماڻهن کي رسول الله ﷺ جي اِها حديث ٻڌائي: من كان بينه و بين قوم عهد فلا يحلن عقدة ولا يشدها حتيٰ ينقضي امدها او ينبذ اليهم عليٰ سواء (جنهن جو ڪنهن قوم سان معاهدو هجي ته ڪا ڳنڍ نه کولي وڃي ۽ نه ٻڌي وڃي ايستائين جو معاهدي جي مدت پوري ٿي وڃي يا برابري سان عهد ان ڏانهن موٽايو وڃي- تفسير ابن ڪثير)

ٻي صورت اِها آهي تہ جڏهن رڳو انديشي جي ڳالھ نہ هجي بلڪ ٻي ڌر طرفان عملًا معاهدي جي ڀڃڪڙي خلاف ورزي ٿي چڪي هجي. اِهڙي صورت ۾ اجازت آهي تہ ٻي ڌر کي اطلاع ڏيڻ بغير جوابي ڪارروائي ڪئي وڃي. غزوه مڪہ ان جو مثال آهي. قريش پاڻﷺ جي ساٿي قبيلي بنو خزاعہ جي خلاف بنوبڪر جي جارحاڻي ڪارروائي ۾ شريڪ ٿي معاهده حديبيہ جي هڪ طرفي خلاف ورزي ڪئي تہ پاڻﷺ قريش کي اڳواٽ اطلاع ڏيڻ جي بغير انهن جي خلاف خاموش ڪارروائي فرمائي.

وَ لَا يَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا سَبَقُوْا ؕ اِنَّهُمْ لَا يُعْجِزُوْنَ ۝٥٩ وَ اَعِدُّوْا لَهُمْ مَّا اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ قُوَّةٍ وَّ مِنْ رِّبَاطِ الْخَيْلِ تُرْهِبُوْنَ بِهٖ عَدُوَّ اللّٰهِ وَ عَدُوَّكُمْ وَ اٰخَرِيْنَ مِنْ دُوْنِهِمْ ۚ لَا تَعْلَمُوْنَهُمْ ۚ اَللّٰهُ يَعْلَمُهُمْ ؕ وَ مَا تُنْفِقُوْا مِنْ شَيْءٍ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ يُوَفَّ اِلَيْكُمْ وَ اَنْتُمْ لَا تُظْلَمُوْنَ ۝٦٠ وَ اِنْ جَنَحُوْا لِلسَّلْمِ فَاجْنَحْ لَهَا وَ تَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ۝٦١ وَ اِنْ يُّرِيْدُوْۤا اَنْ يَّخْدَعُوْكَ فَاِنَّ حَسْبَكَ اللّٰهُ ؕ هُوَ الَّذِيْۤ اَيَّدَكَ بِنَصْرِهٖ وَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ ۝٦٢ۙ وَ اَلَّفَ بَيْنَ قُلُوْبِهِمْ ؕ لَوْ اَنْفَقْتَ مَا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا مَّاۤ اَلَّفْتَ بَيْنَ قُلُوْبِهِمْ وَ لٰكِنَّ اللّٰهَ اَلَّفَ بَيْنَهُمْ ؕ اِنَّهٗ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ۝٦٣

۽ انڪار ڪرڻ وارا اِهو نہ سمجهن تہ هُو نڪري ڀڄي ويندا، اُهي هرگز الله کي عاجز نہ ڪري سگهندا. ۽ انهن جي لاءِ جيتري قدر توهان کان ٿي سگهي تيار رکو قوت ۽ پاليل گهوڙا تہ ان سان توهان جي هيبت رهي الله جي دشمنن تي ۽ توهان جي دشمنن تي ۽ ان کان علاوه ٻين تي بہ جن کي توهان نٿا ڄاڻو. الله انهن کي ڄاڻي ٿو. ۽ جيڪو ڪجھ توهان الله جي راهہ ۾ خرچ ڪندو اُهو توهان کي پورو ڪري ڏنو ويندو ۽ توهان سان ڪا ڪمي نہ ڪئي ويندي. ۽ جيڪڏهن هُو صلح لاءِ لاڙو ڪن تہ تون بہ ان لاءِ مائل ٿي ۽ الله تي ڀروسو رک بيشڪ هُو ٻڌڻ وارو ڄاڻڻ وارو آهي ۽ جيڪڏهن هُو توکي دوکو ڏيڻ چاهيندا تہ الله تو لاءِ ڪافي آهي. اُهوئي آهي جنهن پنهنجي مدد ۽ مؤمنن جي ذريعي توکي قوت ڏني. ۽ انهن جي دلين ۾ محبت پيدا ڪئي. جيڪڏهن تون زمين ۾ جيڪو ڪجھ آهي اُهو سڀ خرچ ڪرين ها تڏهن بہ انهن جي دلين ۾ محبت پيدا نہ ڪري سگهين ها. پر الله انهن ۾ محبت پيدا ڪري ڇڏي بيشڪ هُو زور آور آهي حڪمت وارو آهي. ٥٩-٦٣

---

اسلام جو اعتماد قوت جي استعمال کان وڌيڪ قوت جي مظاهري تي آهي. ان ڪري اهل اسلام کي قوت جمع ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، يعني اُهي شيون جيڪي دشمن کي ايتري قدر رعب طاري ڪن جو هُو اڳرائي جو حوصلو ئي نہ ڪري. اسلام وقت جي معيار مطابق پاڻ کي طاقتور بڻائيندو آهي، پر لازمي طور وڙهڻ جي لاءِ نہ. بلڪ ان لاءِ تہ جيئن ان جي دشمنن تي ان جو رعب قائم رهي ۽ اُهي ان جي خلاف جارحاڻي ڪارروائي جي همت نہ ڪن. اسلام کي وقت جي معيار مطابق فڪري ۽ عملي لحاظ کان طاقتور بڻائڻ جي لاءِ جيڪي ماڻهو پنهنجي ڪمائي خرچ ڪندا، اُهي زياده مقدار ۾ ان جو بدلو پنهنجي رب وٽ حاصل ڪندا.

اسلام جي فتح جو راز اصل ۾ جنگي مقابلن ۾ نہ بلڪ اُن جي اصولن جي تبليغ ۾ آهي. اُن

ڪري حڪم ٿيو ته جڏهن به ٻي ڌر صلح جي پيشڪش ڪري ته هر انديشي ڪي نظر انداز ڪندي اُن کي قبول ڪري وٺو. ڇاڪاڻ ته انديشو يقيني نه آهي ۽ جنگ بندي جو فائدو يقيني آهي جيئن پُر امن فضا ۾ اسلام جو دعوتي عمل شروع ٿي وڃي ۽ اهڙي طرح جنگ جو رڪجڻ اسلام لاءِ نظرياتي طور وڌڻ جو سبب بڻجي وڃي.

اسلام خود پنهنجي ذات ۾ سيني کان وڏي طاقت آهي. خدا ۽ آخرت جو عقيدو جيڪڏهن پوري طرح ڪنهن جماعت جي فردن ۾ پيدا ٿي وڃي ته انهن جي اندر مان اُهي سڀئي نفسياتي خرابيون نڪري وينديون آهن جيڪي نا اتفاقي ۽ باهمي ٽڪراءَ جي سبب هونديون آهن. اُن کان پوءِ لازمي طور ايئن ٿيندو آهي ته اهي سڀ جا سڀ پاڻ ۾ جڙي هڪ ٿي ويندا آهن. ۽ اها هڪ حقيقت آهي ته اتحاد سيني کان وڏي طاقت آهي. پاڻ ۾ متحد جماعت جيڪڏهن تعداد ۾ گهٽ هجي، تڏهن به اها پاڻ کان وڏيڪ تعداد رکڻ واري جماعت تي غالب اچي ويندي.

باهمي اتفاق سيني کان مشڪل شيءِ آهي. ڪنهن جماعت سان خدا جي مدد هجڻ جي هڪ سڃاڻپ اِها آهي ته اُن جا فرد پاڻ ۾ متحد هجن ته ڪا به شيءِ انهن جي اتحاد کي ٽوڙڻ ۾ ڪامياب نه ٿيندي.

ع يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ حَسْبُكَ اللّٰهُ وَ مَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ﴿٦٤﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ حَرِّضِ الْمُؤْمِنِيْنَ عَلَى الْقِتَالِ ؕ اِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ عِشْرُوْنَ صٰبِرُوْنَ يَغْلِبُوْا مِائَتَيْنِ ۚ وَ اِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ مِّائَةٌ يَّغْلِبُوْۤا اَلْفًا مِّنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ﴿٦٥﴾ اَلْـٰٔنَ خَفَّفَ اللّٰهُ عَنْكُمْ وَ عَلِمَ اَنَّ فِيْكُمْ ضَعْفًا ؕ فَاِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ مِّائَةٌ صَابِرَةٌ يَّغْلِبُوْا مِائَتَيْنِ ۚ وَ اِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ اَلْفٌ يَّغْلِبُوْۤا اَلْفَيْنِ بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ﴿٦٦﴾

اي نبي! تنهنجي لاءِ الله ڪافي آهي ۽ اُهي مؤمن جن تنهنجو ساٿ ڏنو آهي. اي نبي! مؤمنن کي جهاد لاءِ همٿاءِ. جيڪڏهن توهان ۾ ويهه ماڻهو ثابت قدم هوندا ته ٻن سؤن تي غالب پوندا ۽ جيڪڏهن توهان مان سؤ هوندا ته هزار منڪرن تي غالب پوندا، ان ڪري جو اُهي ماڻهو سمجھ نه ٿا رکن. هاڻي الله توهان تي هلڪائي ڪئي ۽ اُن ڄاتي ورتو ته توهان ۾ ڪجھ ڪمزوري آهي. هاڻي جيڪڏهن توهان مان هڪ سؤ ثابت قدم هوندا ته ٻن سؤن تي غالب ٿي پوندا ۽ جيڪڏهن هزار هوندا ته الله جي حڪم سان ٻن هزارن تي غالب ٿي پوندا ۽ الله ثابت قدم رهڻ وارن سان گڏ آهي.. ٦٤-٦٦

---

ايمان وارن جو گهٽ تعداد غير اهل ايمان جي گهڻي تعداد تي غالب اچڻ جو سبب اِهو ٻڌايو ويو ته ايمان وارن جي اندر سمجھ هوندي آهي. جڏهن ته غير اهل ايمان سمجھ کان محروم هوندا آهن. فقه جي لفظي معنيٰ سمجھ جي آهي. ان مان مراد اُها بصيرت ۽ شعور آهي جيڪو ايمان جي نتيجي ۾ هڪ ماڻهو کي حاصل هوندو آهي. خدا تي ايمان ڪنهن ماڻهو لاءِ اُهائي معنيٰ رکي ٿو جيئن اونداهي واري ڪمري ۾ بجلي جي بلب جو روشن ٿيڻ. بلب سڄي ڪمري کي اهڙي طرح روشن ڪري ڇڏيندو آهي جو ان جي هر شيءِ واضح طور ڏسڻ ۾ اچڻ لڳندي آهي. اهڙي طرح ايمان ماڻهو کي هڪ رباني شعور عطا

ڪندو آهي، جنهن ڪانپوءِ هو سيني حقيقن کي انهن جي اصلي صورت ۾ ڏسڻ لڳندو آهي.

ايمان جي نتيجي ۾ ايئن ٿيندو آهي جو ماڻهو زندگي ۽ موت جي حقيقت کي سمجهي وٺندو آهي. هو ڄاڻي وٺندو آهي ته اصل شيءِ دنيا جي زندگي نه بلڪ آخرت جي زندگي آهي. اِها شيءِ اِن کي بي پناهه حد تائين بي خوف بڻائي ٿي ڇڏي. هو موت کي اِهڙي نظر سان ڏسڻ لڳندو آهي ڄڻ ته اُها ان جي لاءِ جنت ۾ داخل ٿيڻ جو دروازو آهي. مؤمن شهادت کي جنت جو مختصر رستو سمجهي ٿو. الله جي راهه ۾ جان ڏيڻ ان جي لاءِ گهربل شيءِ بڻجي ويندو آهي، جڏهن ته غير مؤمن جي جنت اِها ئي موجوده دنيا آهي. هُو زنده رهڻ چاهي ٿو ته جيئن پنهنجي جنت مان لطف ماڻي سگهي. غير مؤمن قومي شعور جي تحت وڙهندو آهي ۽ مؤمن جنتي شعوري جي تحت ۽ قومي شعور وارو ڪڏهن به ايتري بي جگري سان نه ٿو وڙهي سگهي.

مؤمن خدا کان ڊڄڻ وارو هوندو آهي، هُو آخرت جي فڪر ڪرڻ وارو هوندو آهي، اُهو مزاج ان کي هر قسم جي منفي جذبن کان پاڪ ڪندو آهي. هو ضد، نفرت، تعصب، انتقام ۽ تڪبر جهڙين شين کان مٿانهون ٿي ويندو آهي. ٻئي طرف غير مؤمن جو معاملو سراسر ان جي ابتڙ هوندو آهي. ان جو نتيجو اِهو ٿيندو آهي ته غير مؤمن جا ڪم منفي نفسيات جي ڪري هوندا آهن ۽ مؤمن جا ڪم مثبت نفسيات جي ڪري. غير مؤمن جذباتي انداز سان عمل ڪندو آهي ۽ مؤمن حقيقي انداز ۾. غير مؤمن انسانن جو دشمن هوندو آهي ۽ مؤمن رڳو انسانن جي برائي جو. غير مؤمن تنگ ظرفي سان معاملو ڪندو آهي ۽ مؤمن وسعتِ ظرف سان.

هزار جي مقابلي ۾ سئو ۽ ٻن هزارن جي مقابلي ۾ هڪ هزار جا لفظ ٻڌائين ٿا ته قتال جو حڪم جماعت ۽ فوج جي لاءِ آهي. ايئن ڪرڻ صحيح نه ٿيندو ته هڪ يا ٻه ماڻهو هجن تڏهن به هو وڙهڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃن.

مَا كَانَ لِنَبِيٍّ اَنۡ يَّكُوۡنَ لَهٗۤ اَسۡرٰى حَتّٰى يُثۡخِنَ فِى الۡاَرۡضِ‌ؕ تُرِيۡدُوۡنَ عَرَضَ الدُّنۡيَا ‌ۖ وَاللّٰهُ يُرِيۡدُ الۡاٰخِرَةَ‌ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيۡزٌ حَكِيۡمٌ ﴿٦٧﴾ لَوۡلَا كِتٰبٌ مِّنَ اللّٰهِ سَبَقَ لَمَسَّكُمۡ فِيۡمَاۤ اَخَذۡتُمۡ عَذَابٌ عَظِيۡمٌ ﴿٦٨﴾ فَكُلُوۡا مِمَّا غَنِمۡتُمۡ حَلٰلًا طَيِّبًا ‌ۖ وَّاتَّقُوا اللّٰهَ‌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿٦٩﴾

ڪنهن نبي کي نه ٿو جڳائي ته ان وٽ قيدي هجن جيستائين هو زمين ۾ چڱي طرح خونريزي نه ڪري وٺي. توهان دنيا جا اسباب چاهيو ٿا ۽ الله آخرت کي چاهي ٿو. ۽ الله زبردست آهي، حڪمت وارو آهي. ۽ جيڪڏهن الله جو لکيل پهرين کان موجود نه هجي ها ته جيڪو طريقو توهان اختيار ڪيو آهي ان جي ڪري توهان کي سخت عذاب پهچي ها. پوءِ جيڪو مال توهان ورتو آهي اُهو کائو. توهان لاءِ حلال ۽ پاڪ آهي ۽ الله کان ڊڄو، بيشڪ الله بخشڻ وارو مهربان آهي. ٦٧-٦٩

---

بدر جي لڙائي ۾ مسلمانن ستر وڏن وڏن ڪافرن کي قتل ڪيو. ان ڪانپوءِ جڏهن انهن جا پير اکڙڻ لڳا ته انهن جي ستر ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو. انهن گرفتار ٿيڻ وارن ۾ اڪثر سردار هئا. جنگ ڪانپوءِ مشورو ٿيو ته انهن قيدين سان ڇا ڪيو وڃي. صحابه جي اڪثريت اِها راءِ ڏني ته انهن کان فديو وٺي ڇڏي ڏجي، ان وقت اسلام جي دشمنن مسلسل جنگ جون حالتون پيدا ڪري رکيون هيون. پر

مسلمانن وٽ مال نہ هئڻ جي ڪري جنگ جي سامان جي تمام گهڻي ڪمي هئي. اِهو خيال ڪيو ويو تہ فديي سان جيڪا رقم ملندي ان مان جنگ جو سامان خريد ڪري سگهجي ٿو. حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه ۽ حضرت سعد بن معاذ رضي الله عنه ان راءِ جي خلاف هئا. حضرت عمر رضي الله عنه چيو! اي خدا جا رسول ﷺ اِهي قيدي ڪفر جا امام ۽ مشرڪن جا سردار آهن. يعني هِن وقت دشمنن جي اصل طاقت اسان جي هٿ ۾ اچي وئي آهي، انهن کي قتل ڪري ان مسئلي جو هميشہ لاءِ خاتمو ڪري ڇڏجي، پر پوءِ رسول الله ﷺ پهرين راءِ تي عمل فرمايو.

پوءِ جڏهن اُهي آيتون نازل ٿيون جن ۾ جنگ تي تبصرو ڪيو ويو هو تہ الله تعاليٰ فديي جي رقم کي جائز ڪندي ان طريقي تي پنهنجي ناراضگي جو اظهار فرمايو. جنگي قيدين کان فديو وٺي ڇڏڻ جيتوڻيڪ بظاهر رحمت ۽ شفقت جو معاملو هو، پر اُهو الله جي مستقبل جي منصوبي جي مطابق نہ هو. الله جو اصل منصوبو ڪفر ۽ شرڪ جي پاڙ پٽڻ هو. ان مقصد جي لاءِ الله تعاليٰ قريش جي سيني ليڊرن کي (ابو لهب ۽ ابو سفيان کي ڇڏي) بدر جي ميدان ۾ جمع ڪري ڇڏيو هو ۽ اهڙيون حالتون پيدا ڪيون جو اُهي پوري طرح مسلمانن جي قابو ۾ اچي ويا. جيڪڏهن انهن ليڊرن کي ان وقت ختم ڪري ڇڏجي ها تہ ڪفر ۽ شرڪ جي طاقت بدر جي ميدان ۾ پوري طرح دفن ٿي وڃي ها. پر ليڊرن کي ڇڏڻ جو نتيجو اهو ٿيو تہ اُهي وري منظر تي پيهر پنهنجي لڙائي جي تحريڪ جاري رکڻ جي قابل ٿي ويا.

اِهو فيصلو جنگي مصلحت جي خلاف هو. اُهو مسلمانن جي لاءِ عذاب (سخت مصيبتن) جو سبب بڻجي وڃي ها.

اِهي ليڊر پنهنجي عوام کي گڏ ڪٽي اسلام جي سڄي معاملي کي ناس ڪري ڇڏين ها. پر الله پنهنجي آخري رسول ۽ پاڻ ﷺ جي اصحاب جي لاءِ پهرين کان مقدر ڪري ڇڏيو هو تہ اُهي لازمي غالب رهندا، انهن کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪوبہ ڪامياب نہ ٿي سگهندو. اِها ئي وجهہ آهي جو جنگي تدبير ۾ ان ڪوتاهي جي باوجود قريش اهل ايمان تي غالب نہ اچي سگهيا ۽ آخرڪار اُهوئي ٿيو جنهن جو ٿيڻ پهرين کان خدا وٽ لکيل هو، يعني مسلمانن جي فتح ۽ اسلام جو غلبو.

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلۡ لِّمَنۡ فِيۡۤ اَيۡدِيۡكُمۡ مِّنَ الۡاَسۡرٰٓى ۙ اِنۡ يَّعۡلَمِ اللّٰهُ فِيۡ قُلُوۡبِكُمۡ خَيۡرًا يُّؤۡتِكُمۡ خَيۡرًا مِّمَّاۤ اُخِذَ مِنۡكُمۡ وَ يَغۡفِرۡ لَكُمۡ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۷۰﴾ وَ اِنۡ يُّرِيۡدُوۡا خِيَانَتَكَ فَقَدۡ خَانُوا اللّٰهَ مِنۡ قَبۡلُ فَاَمۡكَنَ مِنۡهُمۡ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ ﴿۷۱﴾

اي نبي! تنهنجي هٿ ۾ جيڪي قيدي آهن کين چئو تہ جيڪڏهن الله توهان جي دلين ۾ ڪا ڀلائي ڏسندو تہ جيڪو ڪجهہ توهان کان ورتو ويو آهي، اُن کان بهتر هُو توهان کي عطا ڪندو ۽ توهان کي معاف ڪندو ۽ الله بخشڻ وارو مهربان آهي. ۽ جيڪڏهن هي توهان سان بد عهدي ڪندا تہ ان کان اڳ انهن الله سان بد عهدي ڪئي تہ الله کين توهان جي قابو ۾ ڏئي ڇڏيو ۽ الله علم وارو حڪمت وارو آهي. ۷۰-۷۱

---

بدر جي قيدين کان فديو وٺي ڇڏڻ مسلمانن جي لاءِ هڪ جنگي غلطي هئي. پر خود قيدين جي حق ۾ اِها هڪ نئين زندگي ملڻ جي هم معنيٰ هو. ان جو مطلب اِهو هُو تہ اُهي ماڻهو جيڪي حق جي

مخالفت جي نتيجي ۾ هلاڪت جا مستحق ٿي ويا هئا، اُنهن کي وري هڪ موقعو مليو ته هُو اسلام جي دعوت ۽ ان جي مقابلي ۾ پنهنجي نا مناسب روش تي ٻيهر غور ڪري سگهن. اُن مهلت انهن جي لاءِ سندن اصلاح جو نئون در کولي ڇڏيو.

هاڻي هڪ صورت اِها هئي ته انهن قيدين جي دلين ۾ شڪست جي ڪري انتقام جي باھ ٻري. فديو ڏيڻ جي ڪري انهن کي جيڪا ذلت ۽ نقصان ٿيو آهي ان جو بدلو وٺڻ جي لاءِ اُهي بيچين ٿي وڃن. اهڙي صُورت ۾ هو وري ساڳي غلطي کي دهرائيندا، جنهن جي نتيجي ۾ هُو خدا جي پڪڙ جا مستحق بڻجي ويا هئا. يعني پنهنجن قوتن کي اسلام جي مخالفت ۾ لڳائي جنهن جو انجام دنيا ۾ هلاڪت آهي ۽ آخرت ۾ عذاب.

ٻي صورت اِها هئي ته هو بدر جي ميدان ۾ پيش اچڻ واري غير معمولي واقعي تي غور ڪن، ته مسلمانن کي تمام گهٽ اسبابن جي باوجود ايتري پڌري فتح ڇو نصيب ٿي. ان جو صاف مطلب اِهو آهي ته خدا مسلمانن جي دين سان گڏ آهي نه وري قريش جي دين سان. اِهو ٻيو ذهن جيڪڏهن پيدا ٿي وڃي ته اِهو انهن کي آماده ڪندو ته هو پنهنجي پوئين روش کي بدلائين ۽ جنهن دين کي اڳ ۾ اختيار نه ڪري سگهيا هئا، ان کي هاڻي اختيار ڪري وٺن. ۽ اهڙي طرح دنيا ۽ آخرت ۾ خدا جي انعام جا مستحق بڻجي وڃن.

تاريخ ٻڌائي ٿي ته قريش جي ماڻهن ۾ هڪ تعداد اِهڙو نڪتو جن جي دلين ۾ مٿي ذڪر ڪيل سوال جاڳي پيو ۽ جلد يا ڪجھ وقت ڪانپوءِ اُهي اسلام ۾ داخل ٿي ويا. حضرت عباس بن عبدالمطلب قيد جي زماني ۾ ئي اسلام قبول ڪري ورتو ۽ ڪجھ ٻيا ماڻهو بعد ۾ اسلام جي دائري ۾ داخل ٿي ويا. اِهي ماڻهو جيتوڻيڪ قريش جي جماعتي تعصب جي نظر ۾ ذليل ٿيا، پر انهن خدا جي نظر ۾ عزت حاصل ڪري ورتي. دنيا جو نقصان ڪٽي اُهي آخرت جي فائدي جا مالڪ بڻجي ويا.

قيدين کي ڇڏڻ جي ڪري مسلمانن کي اِهو انديشو هو ته اُهي اُن کي احسان سمجهي اُن جو اعتراف نه ڪندا بلڪ پهرين وانگر ٻيهر سازشن ۽ تخريبڪاري جو رستو اختيار ڪري اسلام جي راھ ۾ رڪاوٽ بڻجي ويندا. پر قرآن اُن انديشي کي اهميت نه ڏني، ڇاڪاڻ ته خالص حق جي لاءِ جيڪا تحريڪ اٿندي آهي اُها عام طرز جي انساني تحريڪ نه هوندي آهي. اِهو هڪ خدائي معاملو هوندو آهي. اُن سان خود خدا هوندو آهي ۽ خدا سان وڙهڻ ڪنهن جي وس جي ڳالھ نه آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ هَاجَرُوْا وَ جٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَ اَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ الَّذِيْنَ
اٰوَوْا وَّ نَصَرُوْٓا اُولٰٓئِكَ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ؕ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ لَمْ يُهَاجِرُوْا مَا لَكُمْ
مِّنْ وَّلَايَتِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ حَتّٰى يُهَاجِرُوْا ۚ وَ اِنِ اسْتَنْصَرُوْكُمْ فِي الدِّيْنِ فَعَلَيْكُمُ
النَّصْرُ اِلَّا عَلٰى قَوْمٍۢ بَيْنَكُمْ وَ بَيْنَهُمْ مِّيْثَاقٌ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۷۲﴾ وَ الَّذِيْنَ
كَفَرُوْا بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ؕ اِلَّا تَفْعَلُوْهُ تَكُنْ فِتْنَةٌ فِي الْاَرْضِ وَ فَسَادٌ كَبِيْرٌ ﴿۷۳﴾ؕ

جن ايمان آندو ۽ جن هجرت ڪئي ۽ الله جي راهه ۾ پنهنجي جان ۽ مال سان جهاد ڪيو. ۽ اُهي ماڻهو جن پناهه ڏني ۽ مدد ڪئي، اِهي هڪٻئي جا رفيق آهن ۽ جن ماڻهن ايمان آندو پر انهن هجرت نہ ڪئي تہ انهن سان توهان جي رفاقت جو ڪو تعلق نہ آهي جيستائين هو هجرت ڪري نہ اچي وڃن. ۽ هو توهان کان دين جي معاملي ۾ مدد گهرن تہ توهان تي انهن جي مدد ڪرڻ واجب آهي، پر سواءِ اُن جي تہ اِها مدد ڪنهن اهڙي قوم جي خلاف هجي جنهن سان توهان جو معاهدو ٿيل هجي. ۽ جيڪو ڪجهہ توهان ڪريو ٿا، الله اُن کي ڏسي رهيو آهي. ۽ جيڪي ماڻهو منڪر آهن. هو هڪٻئي جا رفيق آهن. جيڪڏهن توهان ايئن نہ ڪندؤ تہ زمين ۾ فتنو ڦهلجندو ۽ وڏو فساد برپا ٿيندو. ٧٢-٧٣

---

عام طور تي جڏهن هڪ ماڻهو ٻئي جي مدد ڪندو آهي تہ اُن جو سبب اِهو هوندو آهي تہ اُهو ماڻهو اُن جي پنهنجي خاندان جو آهي، اُن سان گروهي يا جماعتي تعلق آهي. پر هجرت کان پوءِ مديني ۾ جيڪو اسلامي معاشرو قائم ٿيو، اُهو اهڙو معاشرو هو جنهن ۾ گهر وارن پنهنجا گهر اهڙن ماڻهن کي ڏنا جن سان تعلق جو بنياد صرف دين هو. جيڪي ماڻهو پنهنجي وطن کي ڇڏي مديني آيا، اُهي بہ الله جي لاءِ ۽ آخرت جي طلب جي ڪري آيا. ۽ جن انهن ڌارين ماڻهن کي پنهنجي مال ۽ جائيداد ۾ شريڪ ڪيو اُهو بہ رڳو ان ڪري تہ جيئن انهن جو خدا انهن کان خوش ٿي وڃي ۽ آخرت ۾ انهن کي جنتن ۾ داخل ڪري.

هي هڪ اهڙو سماج هو، جنهن ۾ اهم شيون خاندان ۽ حسب نسب نہ هئا، بلڪ ايمان ۽ اسلام هو. هر هڪ ٻئي جي مدد ڪندو هو، پر دنيا جي فائدن لاءِ نہ بلڪ آخرت جي فائدي لاءِ. اُهي هڪٻئي کي ڏيندا هئا. پر وٺڻ واري کان ڪنهن بدلي جي اميد ۾ نہ بلڪ الله کان انعام جي اميد ۾. اُهو ئي معاشرو حقيقتًا اسلامي معاشرو آهي جتي تعلقات خانداني ۽ گروهي تعصبن تي قائم نہ ٿين، پر حق جي بنياد تي قائم هجن. جتي ماڻهو هڪٻئي جا حامي ۽ مددگار اُن بنياد تي هجن تہ اُهي انهن جا ديني ڀائر آهن نہ وري هِن بنياد تي تہ دنيا جي مصلحت مان ڪا مصلحت انهن سان وابستہ آهي.

هڪ مسلمان جڏهن ٻئي مسلمان کان حق جي معاملي ۾ مدد طلب ڪري تہ اُن وقت اُن جي مدد ڪرڻ بلڪل لازم آهي. جيڪڏهن مسلمانن ۾ باهمي مدد جو اِهو روح باقي نہ رهي تہ ايئن ٿيندو تہ شرير ماڻهو ڪمزور ماڻهن تي دلير ٿي ويندا ۽ انهن جي زندگي ۽ انهن جو ايمان محفوظ رهڻ سخت مشڪل ٿي پوندو. حق جا مخالف پنهنجن ساٿين جي مدد جي لاءِ انتهائي جذبو رکندا آهن، پوءِ حق کي مڃڻ وارا پنهنجن ساٿين جي مدد لاءِ ڇو نہ سرگرم ٿين. هن ۾ منع رڳو اُن وقت آهي جڏهن تہ معاملو ٻن ملڪن جي وچ ۾ هجي ۽ مسلمانن جي مدد ڪرڻ ٻن ملڪن ۾ مونجهارو پيدا ڪرڻ جي هم معنيٰ سمجهيو وڃي.

”هجرت“ جنت ۾ داخل ٿيڻ جو دروازو آهي. هڪ ٻانهو جڏهن خدا جي ناپسنديده مقام کان نڪري خدا جي پسنديدهہ مقام ڏانهن ويندو آهي تہ اصل ۾ هو غير جنت کي ڇڏي جنت ۾ داخل ٿيندو آهي.

وَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ هَاجَرُوۡا وَ جٰهَدُوۡا فِيۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ وَ الَّذِيۡنَ اٰوَوۡا وَّ نَصَرُوۡۤا اُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ حَقًّا ؕ لَهُمۡ مَّغۡفِرَةٌ وَّ رِزۡقٌ كَرِيۡمٌ ﴿۷۴﴾ وَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مِنۡۢ بَعۡدُ وَ هَاجَرُوۡا وَ

جٰهَدُوْا مَعَكُمْ فَاُولٰٓىِٕكَ مِنْكُمْ ؕ وَ اُولُوا الْاَرْحَامِ بَعْضُهُمْ اَوْلٰى بِبَعْضٍ فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۷۵﴾

۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن هجرت ڪئي ۽ الله جي راهه ۾ جهاد ڪيو ۽ جن ماڻهن پناهه ڏني ۽ مدد ڪئي، اِهي ئي ماڻهو سچا مؤمن آهن انهن جي لاءِ بخشش آهي ۽ بهترين رزق آهي. ۽ جن ماڻهن اُن کان پوءِ ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ توهان سان ملي جهاد ڪيو ته اُهي به توهان مان ئي آهن. ۽ رت جو رشتو رکندڙ مائٽ هڪ ٻئي جا وڌيڪ حقدار آهن الله جي ڪتاب موجب. بيشڪ الله هر شيءِ کي خوب ڄاڻندڙ آهي. ٧٤-٧٥

خدا تي ايمان آڻڻ خدا جي لاءِ زندگي گذارڻ جو فيصلو ڪرڻ آهي. اهڙا ماڻهو گهڻو ڪري انهن ماڻهن جي وچ ۾ اجنبي بڻجي ويندا آهن جيڪي خدا کان سواءِ ٻئي شيءِ جي لاءِ زندگي گذاري رهيا هجن. اها اجنبيت ڪڏهن ايتري ته وڌي ويندي آهي جو هجرت جي نوبت اچي ويندي آهي. ماحول جي مخالفت جي نتيجي ۾ پوري زندگي جدوجهدءِ جان نثاري جي زندگي بڻجي ويندي آهي. اِهي ئي ماڻهو خدا جي نزديڪ سچا مؤمن آهن. اُن کان پوءِ سچو ايمان انهن ماڻهن جو آهي جيڪي اسلام جي خاطر برباد ٿي وڃڻ واري اُن قافلي کي پناهه ڏين، هو انهن کي جڳهه ڏين ۽ انهن جي هر ممڪن مدد جي لاءِ بيهي رهن. جن جون زندگيون لٽجڻ کان بچي ويون آهن ، اُهي پنهنجو مال انهن ماڻهن جي حوالي ڪن جن جون زندگيون اسلام جي راهه ۾ لٽجي ويون آهن. اُن مان معلوم ٿيو ته حقيقي مسلم بڻجڻ جي لاءِ ماڻهوءَ کي ٻن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ شيءِ جو ثبوت ڏيڻو آهي. ماڻهو يا ته پنهنجي پاڻ کي اسلام سان اهڙي طرح وابسته ڪري ته جيڪڏهن اُن کي پنهنجي ٺهيل ٺڪيل دنيا ويران ڪرڻي پوي ته هو اُن جي به پرواهه نه ڪري، آرام واري زندگي کي بي آرامي واري زندگي بنائڻو پوي ته اُن تي به راضي رهي. پوءِ جيڪڏهن اسلام جي لاءِ ڪجهه ماڻهو پنهنجو مال وڃائي ويٺا هجن ته جيڪي لٽجڻ کان بچي ويا هجن، اُهي پنهنجن ساٿين جي مدد لاءِ اڳتي وڌن، ايستائين جو ضرورت پوي ته پنهنجي ڪمائي ۽ پنهنجي جائيداد ۾ به انهن کي شريڪ ڪري وٺن. سچو ايمان ڪنهن کي يا ته ”مهاجر“ بڻجڻ جي سطح تي ملندو آهي يا ”انصار“ بڻجڻ جي سطح تي. اهي ئي ٻن قسمن جا ماڻهو آهن جن جي لاءِ خدا وٽ مغفرت ۽ رزق ڪريم آهي. آخرت ۾ اچڻ واري جنت انتهائي صاف ۽ نفيس دنيا آهي. اُها هڪ ڪامل دنيا آهي ۽ ڪامل دنيا ۾ آباد ڪرڻ جي قابل ماڻهو اُهي ئي ٿي سگهن ٿا جيڪي خود به ڪامل هجن. ڪو انسان پنهنجي بشري ڪمزورين جي ڪري اهڙي ڪامليت جو ثبوت نه ٿو ڏئي سگهي. تڏهن به الله جو اِهو وعدو آهي ته جيڪو ماڻهو مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي ڪسوٽين مان ڪنهن هڪ ڪسوٽي تي پورو لٿو ته خدا پنهنجي قدرت سان اُن جي ڪمين جي تلافي ڪري اُن کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندو.

دين جي بنياد تي پيائر ٿيڻ وارن جي مدد ۽ حمايت بي حد اهم آهي پوءِ به اُها رت جي رشتن جي حقن ۽ اُنهن جي وچ ۾ وراثتن جي تقسيم تي اثر انداز نه ٿيندي. پنهنجي خواهش جي ڪري ڪو شخص پنهنجي اهل خاندان جي لاءِ جن شين کي ضروري سمجهي وٺي، اُن جي الله وٽ ڪا اهميت نه آهي. پر جيئن ته الله خود پنهنجي ڪتاب ۾ اهل خاندان جي لاءِ حقن ۽ وراثت جو قانون مقرر ڪري ڇڏيو آهي، اُهو هر حال ۾ قائم رهندو ۽ ڪا ٻئي شيءِ اُن جي ادائگي جي لاءِ عذر نٿي بڻجي سگهي.

أياتها ١٢٩ (٩) سُوْرَةُ التَّوْبَةِ مَكِّيَّةٌ (١١٣) ركوعاتها ١٦

بَرَآءَةٌ مِّنَ اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖۤ اِلَى الَّذِيْنَ عٰهَدْتُّمْ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۝١ فَسِيْحُوْا فِي الْاَرْضِ
اَرْبَعَةَ اَشْهُرٍ وَّ اعْلَمُوْۤا اَنَّكُمْ غَيْرُ مُعْجِزِي اللّٰهِ ۙ وَ اَنَّ اللّٰهَ مُخْزِي الْكٰفِرِيْنَ ۝٢ وَ اَذَانٌ
مِّنَ اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖۤ اِلَى النَّاسِ يَوْمَ الْحَجِّ الْاَكْبَرِ اَنَّ اللّٰهَ بَرِيْٓءٌ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۙ۬ وَ
رَسُوْلُهٗ ؕ فَاِنْ تُبْتُمْ فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَ اِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَاعْلَمُوْۤا اَنَّكُمْ غَيْرُ مُعْجِزِي اللّٰهِ ؕ وَ
بَشِّرِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ۝٣ اِلَّا الَّذِيْنَ عٰهَدْتُّمْ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ ثُمَّ لَمْ
يَنْقُصُوْكُمْ شَيْـًٔا وَّ لَمْ يُظَاهِرُوْا عَلَيْكُمْ اَحَدًا فَاَتِمُّوْۤا اِلَيْهِمْ عَهْدَهُمْ اِلٰى مُدَّتِهِمْ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ ۝٤

اعلان آهي لا تعلقي (برائت) جو الله ۽ اُن جي رسول طرفان انهن مشركن سان جن سان توهان معاهدا كيا هئا. تنهن كري توهين ماڻهو ملڪ ۾ چار مهينا گهمي ڦري وٺو ۽ ڄاڻي وٺو ته توهان الله كي عاجز نه ٿا كري سگهو. ۽ اِهو ته الله منكرن كي رسوا كرڻ وارو آهي. اعلان آهي الله ۽ رسول جي طرفان وڏي حج جي ڏينهن ماڻهن جي لاءِ ته الله ۽ ان جو رسول مشركن كان آجا آهن. هاڻي جيكڏهن توهين ماڻهو توبه كريو ته توهان جي حق ۾ بهتر آهي. ۽ جيكڏهن توهان منهن موڙيو ٿا ته ڄاڻي وٺو ته توهان الله كي عاجز نه ٿا كري سگهو. ۽ انكار كرڻ وارن كي سخت عذاب جي خوشخبري ڏئي ڇڏ. پر جن مشركن سان اوهان معاهدو كيو هو پوءِ انهن توهان سان كابه كوتاهي نه كئي ۽ نه توهان جي خلاف كنهن جي مدد كئي ته انهن سان معاهدو مقرر كيل مدت تائين پورو كريو. بيشڪ الله پرهيزگارن كي پسند كري ٿو. ١-٤

---

موجوده دنيا ۾ انسان كي رهڻ جو جيكو موقعو ڏنو ويو آهي. اهو سندس حق جي بنياد تي نه آهي بلڪ صرف آزمائش جي لاءِ آهي. خدا جيستائين چاهي ٿو كنهن كي هِن زمين تي ركندو آهي ۽ جڏهن ان جي علم مطابق ان جي امتحان جي مدت پوري ٿي ويندي آهي ته ان تي موت طاري كري ان كي هِتان كڍي وٺبو آهي.

اِهوئي معاملو پيغمبر جي مخاطبن سان ٻي صورت ۾ كيو ويندو آهي. پيغمبر جن ماڻهن جي وچ ۾ ايندو آهي، انهن تي هُو آخري حد تائين حق جي گواهي ڏيندو آهي. پيغمبر جي دعوتي كم جي تكميل كانپوءِ جيكي ماڻهو ايمان نه ٿا آڻين، اُهي خدا جي زمين تي زنده رهڻ جو حق وڃائي ڇڏيندا آهن. اُهي آزمائش جي غرض سان هِتي ركيا ويا هئا. حجت پوري ٿيڻ كانپوءِ آزمائش جي تكميل ٿي وئي، ته ان كان پوءِ زندگي جو حق ڇا جي لاءِ ٿي سگهي ٿو. اهوئي سبب آهي ته پيغمبرن جي كم جي تكميل كانپوءِ انهن جي مٿان كا نه كا هلاكت يا آفت ايندي آهي ۽ انهن كي پاڙان پٽي ڇڏبو آهي.

رسول الله ﷺ جي مخاطبن سان به اهوئي معاملو ٿيو. پر انهن تي كا آسماني آفت نه آئي. انهن

تي خدا جي مٿي ذڪر ڪيل سنت جو نفاذ سببن جي پردي ۾ ڪيو ويو. شروع ۾ قرآن جي ذريعي ۽ پيغمبر جي اعليٰ ڪردار جي ذريعي انهن کي دعوت پهچائي وئي. پوءِ اهل توحيد کي مڪي جي مشرڪن تي غالب ڪري انهن تي حجت پوري ڪئي وئي. جڏهن اهو سڀ ڪجھ ٿي چڪو ۽ ان جي باوجود هو انڪار تي قائم رهيا ته انهن کي مسلسل خيانت ۽ عهد ٽوڙڻ جو مجرم قرار ڏئي ڪري انهن کي آخري پيغام ڏنو ويو ته چار مهينن جي اندر پنهنجي اصلاح ڪري وٺو، ٻي صورت ۾ مسلمانن جي تلوار سان توهان جو خاتمو ڪري ڇڏبو.

پوءِ اِهو سڄو معاملو تقويٰ جي اصول تي ڪيو ويو نه وري قومي سياست جي اصول تي مشرڪن کي دليل جي ميدان ۾ لاجواب ڪيو ويو، انهن کي اڳواٽ خبردار ڪري ڪيترائي مهينا سوچڻ جو موقعو ڏنو ويو. آخري وقت تائين انهن جي لاءِ در کليل رکيو ويو ته جيڪي ماڻهو توبه ڪري وٺن، اُهي خدا جي انعام پائيندڙ ٻانهن ۾ شامل ٿي وڃن. جن ڪجھ قبيلن معاهدو نه ٽوڙيو هو انهن جي معاملي کي معاهدو ٽوڙڻ وارن کان الڳ رکيو ويو وغيره.

فَاِذَا انْسَلَخَ الْاَشْهُرُ الْحُرُمُ فَاقْتُلُوا الْمُشْرِكِيْنَ حَيْثُ وَجَدْتُّمُوْهُمْ وَ خُذُوْهُمْ وَ
احْصُرُوْهُمْ وَ اقْعُدُوْا لَهُمْ كُلَّ مَرْصَدٍ ۚ فَاِنْ تَابُوْا وَ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتَوُا الزَّكٰوةَ
فَخَلُّوْا سَبِيْلَهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۵﴾ وَ اِنْ اَحَدٌ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ اسْتَجَارَكَ
ع فَاَجِرْهُ حَتّٰى يَسْمَعَ كَلٰمَ اللّٰهِ ثُمَّ اَبْلِغْهُ مَاْمَنَهٗ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْلَمُوْنَ ﴿۶﴾

پوءِ جڏهن حرمت وارا مهينا گذري وڃن ته مشرڪن کي قتل ڪريو جتي به ڏسو ۽ انهن کي پڪڙيو ۽ انهن جو گهيرو ڪريو ۽ هر جاءِ تي انهن جي تاڙ ۾ ويهو. پوءِ جيڪڏهن اُهي توبه ڪري وٺن ۽ نماز قائم ڪن ۽ زڪوات ادا ڪن ته انهن کي ڇڏي ڏيو. الله بخشڻ وارو مهربان آهي. ۽ جيڪڏهن مشرڪن مان ڪو ماڻهو تو کان پناهه گهري ته اُن کي پناهه ڏئي ڇڏ ته جيئن هو الله جو ڪلام ٻڌي، پوءِ ان کي سندس امن جي جاءِ تي پهچائي ڇڏ. اهو ان ڪري ته اُهي ماڻهو علم نه ٿا رکن. ۵-۶

مهلت جا چار مهينا گذرڻ کانپوءِ هِتي جنهن جنگ جو حڪم ڏنو ويو آهي اُها ڪا عام جنگ نه هئي. اهو خدا جي قانون مطابق اُهو عذاب هو جيڪو پيغمبر جي انڪار جي نتيجي ۾ انهن تي ظاهر ڪيو ويو. انهن حجت پوري ٿيڻ جي باوجود خدا جي پيغمبر جو انڪار ڪري پاڻ کي ان جو مستحق بڻائي ورتو ته انهن جي لاءِ تلوار يا اسلام کان سواءِ ٻي ڪا صورت باقي نه رکي وڃي. اِهو خدا جو هڪ خاص قانون آهي، جنهن جو تعلق پيغمبر جي مخاطبن سان آهي نه وري عام ماڻهن سان. جيئن ته حجت پوري ٿيڻ کانپوءِ به ان حڪم جو نفاذ اوچتو نه ڪيو ويو، بلڪ آخري مرحلي ۾ وري انهن کي چار مهينن جي مهلت ڏني وئي.

انتقام معاف ڪرڻ نه ٿو ڄاڻي. انتقامي جذبي جي تحت جيڪا ڪارروائي ڪئي وڃي ان کي رڳو ان وقت تسڪين ملندي آهي، جڏهن هُو پنهنجي دشمن کي ذليل ۽ برباد ٿيندي ڏسي، پر عرب جي مشرڪن خلاف جيڪا ڪارروائي ڪئي وئي، ان جو تعلق ڪنهن قسم جي انتقام سان نه هو، بلڪ اُهو

سراسر حقيقت جي اصول مطابق هو. اُهوئي سبب آهي تہ ايتري شديد حڪم جي باوجود انهن جي لاءِ اِها گنجائش هر وقت باقي هئي تہ هُو دين اسلام کي اختيار ڪري پاڻ کي اُن سزا کان بچائي وٺن ۽ اسلامي برادري ۾ عزت جي زندگي حاصل ڪري وٺن. ڪنهن جي توبهہ قبول ٿيڻ جي لاءِ رڳو ٻن عملي شرطن جو هجڻ ڪافي آهي. نماز ۽ زڪوات.

جنگ ۾ دشمن جو ڪو ماڻهو اهو چوي تہ آئون اسلام کي سمجهڻ چاهيان ٿو تہ مسلمانن کي حڪم آهي تہ اُن کي امان ڏئي ڪري پنهنجي ماحول ۾ اچڻ جو موقعو ڏين ۽ اسلام جي پيغام کي ان جي دل ۾ پهچائڻ جي ڪوشش ڪن. پوءِ بہ جيڪڏهن هو قبول نہ ڪري تہ پنهنجي حفاظت ۾ ان کي ان جي ٺڪاڻي تائين پهچائي ڇڏين. عام حڪم موجب جيڪڏهن اِهو ماڻهو قتل جو سزاوار آهي پر ايئن نہ ٿو ڪري سگهجي تہ هُن دين جي ڳالھ نہ مڃي آهي تہ ان کي قتل ڪري ڇڏجي، جيستائين ڪو ماڻهو امان ۾ آهي تہ امان هوندي ان تي هٿ کڻڻ جائز نہ آهي.

جنگ جي زماني ۾ دشمن کي اهڙي قسم جي رعايت ڏيڻ انتهائي نازڪ معاملو آهي. ڇاڪاڻ تہ عين ممڪن آهي تہ دشمن جو ڪو جاسوس هِن رعايت مان فائدو کڻي مسلمانن جي اندر گهڙي اچي ۽ انهن جا فوجي راز معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. پر اسلام جي نظر ۾ دعوت ۽ تبليغ جو مسئلو ايترو اهم آهي جو ان خطري جي باوجود ان جو در بند نہ ڪيو ويو آهي. هڪ ماڻهو جيڪڏهن بي خبري ۽ لا علمي جي ڪري ظلم ڪري، تہ ان جو ظلم چاهي ڪيتروئي گهڻو هجي، پر ان سان هر ممڪن رعايت ڪئي وڃي، جيستائين ان جي لا علمي ۽ بي خبري ختم ٿي وڃي.

كَيْفَ يَكُوْنُ لِلْمُشْرِكِيْنَ عَهْدٌ عِنْدَ اللّٰهِ وَ عِنْدَ رَسُوْلِهٖۤ اِلَّا الَّذِيْنَ عٰهَدْتُّمْ عِنْدَ
الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۚ فَمَا اسْتَقَامُوْا لَكُمْ فَاسْتَقِيْمُوْا لَهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ ﴿٧﴾
كَيْفَ وَ اِنْ يَّظْهَرُوْا عَلَيْكُمْ لَا يَرْقُبُوْا فِيْكُمْ اِلًّا وَّ لَا ذِمَّةً ؕ يُرْضُوْنَكُمْ بِاَفْوَاهِهِمْ وَ
تَاْبٰى قُلُوْبُهُمْ ۚ وَ اَكْثَرُهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٨﴾ اِشْتَرَوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيْلًا فَصَدُّوْا عَنْ
سَبِيْلِهٖ ؕ اِنَّهُمْ سَآءَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٩﴾ لَا يَرْقُبُوْنَ فِيْ مُؤْمِنٍ اِلًّا وَّ لَا ذِمَّةً ؕ وَ اُولٰٓئِكَ
هُمُ الْمُعْتَدُوْنَ ﴿١٠﴾ فَاِنْ تَابُوْا وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتَوُا الزَّكٰوةَ فَاِخْوَانُكُمْ فِي الدِّيْنِ ؕ وَ
نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿١١﴾

انهن مشرڪن جي لاءِ الله ۽ ان جي رسول جي ذمي ڪو عهد ڪيئن رهي سگهي ٿو، پر جن ماڻهن توهان سان عهد ڪيو هو مسجد حرام وٽ. پوءِ جيستائين اُهي توهان سان سڌا رهن، توهان بہ انهن سان سڌا رهو. بيشڪ الله پرهيزگارن کي پسند ڪندو آهي. عهد ڪيئن رهندو جڏهن تہ حال اِهو آهي تہ جيڪڏهن هُو توهان تي قابو پائن تہ توهان جي باري ۾ نہ مٽي مائٽي جو لحاظ ڪن ۽ نہ عهد جو. هُو توهان کي رڳو زباني ڳالهين سان راضي ڪرڻ چاهين ٿا، پر سندن دليون انڪار ڪري رهيون آهن. ۽ انهن مان اڪثر فاسق آهن. انهن الله جي آيتن کي ٿوري ملهہ تي وِڪيو آهي، پوءِ انهن الله جي راهہ کان روڪيو. تمام بڇڙو آهي جيڪو ڪجهہ هو ڪري

رهيا آهن. ڪنهن مؤمن جي معاملي ۾ هُو نہ مٽي مائٽي جو لحاظ ڪندا آهن ۽ نہ عهد جو. اِهي ئي ماڻهو زيادتي ڪرڻ وارا آهن. تنهن ڪري جيڪڏهن هو توبهہ ڪن ۽ نماز قائم ڪن ۽ زڪوات ادا ڪندا تہ هُو توهان جا ديني ڀائر آهن. ۽ اسان آيتن کي کولي بيان ڪريون ٿا سمجهڻ وارن جي لاءِ. ۷-۱۱

---

مسلمانن کي جڏهن زورِ حاصل ٿي ويو، تہ قريشن انهن سان معاهدا ڪري ورتا. جڏهن تہ هُو انهن معاهدن مان خوش نہ هئا. اُهي سمجهندا هئا تہ پنهنجي ”دشمن“ سان اِهو معاهدو انهن پنهنجي بربادي جي قيمت تي ڪيو آهي. اهوئي سبب آهي جو هو هر وقت ان انتظار ۾ رهندا هئا تہ جڏهن موقعو ملي، معاهدي جي خلاف ورزي ڪري مسلمانن کي نقصان پهچائين، يا انهن کي بدنام ڪن. ظاهر آهي تہ جڏهن هڪ ڌر طرفان اِهڙي قسم جي خيانت جو مظاهرو ٿئي، تہ ٻي ڌر جي لاءِ ڪنهن معاهدي جي پابندي ضروري نہ ٿي رهي.

قريش جو حال اهو هو جو انهن کي مسلمانن جي عروج ۾ سندن قيادت ختم ٿيندي نظر پئي آئي. جيئن تہ ڪجهہ ٻيا عرب قبيلا (بنو ڪنانہ، بنو خُزاعہ، بنو ضَمره) جيڪي اهڙي قسم جي نفسياتي مونجهارن ۾ مبتلا نہ هئا، انهن مسلمانن سان معاهدا ڪيا ۽ پنهنجي معاهدي تي قائم رهيا. جڏهن چار مهينن جي مهلت جو اعلان ڪيو ويو تہ انهن جي معاهدي جي مدت پوري ٿيڻ ۾ تقريبًا نَوَ مهينا باقي هئا. حڪم ٿيو تہ انهن سان معاهدي کي آخر وقت تائين باقي رکو، ڇاڪاڻ تہ تقويٰ جي تقاضا اِهائي آهي. پر اُن مدت جي ختم ٿيڻ کان پوءِ وري ڪنهن سان اهڙي قسم جو معاهدو نہ ڪيو ويو ۽ سيني مشرڪن جي سامهون رڳو ٻہ صورتون رکيون ويون يا تہ اسلام آڻين يا جنگ جي لاءِ تيار ٿي وڃن.

سماجي زندگي جو بنياد هميشہ ٻن شين تي هوندو آهي. مٽي مائٽي يا قول قرار. جن سان مائٽي جا رشتا آهن، انهن جي حقن جو لحاظ ماڻهو مائٽي جي رشتن جي بنياد تي ڪندو آهي. ۽ جن سان قول قرار ٿي چڪو هجي انهن سان قول قرار جي بنياد تي. پر جڏهن ماڻهو تي دنيا جي مفاد ۽ ان جي مصلحت جو غلبو ٿيندو آهي تہ هو ٻنهي ڳالهين کي وساري ٿو ڇڏي. هو پنهنجي ٿوري فائدي جي لاءِ رشتيداري جي حقن کي وساري ٿو ڇڏي ۽ قول قرار کي بہ. اِهڙا ماڻهو حد کان لنگهي وڃڻ وارا آهن. هُو خدا جي نظر ۾ مجرم آهن. دنيا ۾ جيڪڏهن اُهي بچي ويا تہ آخرت ۾ هُو خدا جي پڪڙ کان بچي نہ سگهندا، پر جيستائين هو توبهہ ڪن ۽ پنهنجي سرڪشي کان باز اچي وڃن. ڪو ماڻهو ماضي ۾ چاهي ڪيتروئي برو رهيو هجي، پر جڏهن هو اصلاح قبول ڪري وٺي، تہ هو اسلامي برادري جو هڪ معزز فرد بڻجي ويندو آهي. ان کانپوءِ هُن ۾ ۽ ٻين مسلمانن ۾ ڪو بہ فرق نہ ٿو رهي.

وَ اِنۡ نَّكَثُوۡۤا اَيۡمَانَهُمۡ مِّنۡۢ بَعۡدِ عَهۡدِهِمۡ وَ طَعَنُوۡا فِىۡ دِيۡنِكُمۡ فَقَاتِلُوۡۤا اَئِمَّةَ الۡكُفۡرِ ۙ
اِنَّهُمۡ لَاۤ اَيۡمَانَ لَهُمۡ لَعَلَّهُمۡ يَنۡتَهُوۡنَ ﴿۱۲﴾ اَلَا تُقَاتِلُوۡنَ قَوۡمًا نَّكَثُوۡۤا اَيۡمَانَهُمۡ وَ هَمُّوۡا
بِاِخۡرَاجِ الرَّسُوۡلِ وَ هُمۡ بَدَءُوۡكُمۡ اَوَّلَ مَرَّةٍ ؕ اَتَخۡشَوۡنَهُمۡ ۚ فَاللّٰهُ اَحَقُّ اَنۡ تَخۡشَوۡهُ اِنۡ
كُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ ﴿۱۳﴾ قَاتِلُوۡهُمۡ يُعَذِّبۡهُمُ اللّٰهُ بِاَيۡدِيۡكُمۡ وَ يُخۡزِهِمۡ وَ يَنۡصُرۡكُمۡ عَلَيۡهِمۡ وَ
يَشۡفِ صُدُوۡرَ قَوۡمٍ مُّؤۡمِنِيۡنَ ﴿۱۴﴾ وَ يُذۡهِبۡ غَيۡظَ قُلُوۡبِهِمۡ ؕ وَ يَتُوۡبُ اللّٰهُ عَلٰى مَنۡ يَّشَآءُ ؕ وَ

اللّٰهُ عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ ﴿۱۵﴾

۽ جيڪڏهن عهد ڪانپوءِ اُهي پنهنجن قسمن کي ٽوڙين ۽ توهان جي دين ۾ عيب لڳائين تہ ڪفر جي انهن سردارن سان وڙهو. بيشڪ انهن جا قسم ڪجهہ نہ آهن تہ جيئن اُهي باز اچن. ڇا توهان نہ وڙهندؤ اهڙن ماڻهن سان جن پنهنجا عهد ٽوڙي ڇڏيا ۽ رسول کي ڪيڍڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اهي ئي آهن جن توهان سان جنگ ۾ اڳرائي ڪئي. ڇا توهان انهن کان ڊڄندؤ. الله وڌيڪ حقدار آهي تہ توهان اُن کان ڊڄو، جيڪڏهن توهان مؤمن آهيو. انهن سان وڙهو. الله توهان جي هٿان انهن کي سزا ڏيندو ۽ هنن کي رسوا ڪندو ۽ توهان کي انهن تي غالب ڪندو ۽ مسلمان ماڻهن جي سيني کي ٺاريندو. ۽ انهن جي دلين جي ڪاوڙ کي پري ڪري ڇڏيندو ۽ الله توبهہ نصيب ڪندو، جنهن جي لاءِ چاهيندو ۽ الله ڄاڻڻ وارو آهي، حڪمت وارو آهي. ١٢-١٥

ڪفر جي سردارن مان مراد قريش آهن جيڪي پنهنجي قيادت واري مقام جي ڪري عرب ۾ اسلام جي خلاف تحريڪ جي امامت ڪري رهيا هئا. قريش جي هِن ڪردار مان خبر پئي ٿي تہ اسلام جي تحريڪ جڏهن اٿندي آهي تہ ان جو پهريون مخالف ڪهڙو گروهہ بڻجي ٿو. اِهو اُهو گروهہ آهي جنهن کي خالص حق جي پيغام ۾ پنهنجي وڏائي خطري ۾ پوندي نظر ايندي آهي. اِهو ئي اُهو اقتدار تي قابض طبقو آهي جنهن وٽ اِهو ذهن هوندو آهي جو هُو اسلامي دعوت ۾ شوشا ڇڏي ماڻهن کي شڪ ۾ وجهي ڇڏي، ان وٽ اهي وسيلا هوندا آهن جو هو اسلام جي داعين کي بي حوصلا ڪرڻ لاءِ انهن کي هر طرح سان مشڪلن ۾ وجهي. انهن وٽ اِهو زور هوندو آهي، جو هو حق پرستن کي انهن جي گهرن مان ڪيڍڻ جون تدبيرون ڪن. ايستائين جو انهن کي اُهي موقعا بہ حاصل هوندا آهن، جو هُو اسلام جي مڃڻ وارن جي خلاف باقاعده جنگ جي باهہ ڀڙڪائين.

”انهن جا عهد ڪجهہ نہ آهن“ وڏو اهم جملو آهي. جيڪي ماڻهو دشمني ۽ ضد جي بنياد تي بيٺا هجن، انهن جا وعدا ۽ معاهدا بلڪل غير يقيني هوندا آهن. انهن جي نفسيات ۾ پنهنجي دشمن جي خلاف مستقل ڪاوڙ جو جذبو رهندو آهي. انهن جي اندر مستقل مزاجي نہ هوندي آهي. هو جيڪڏهن معاهدو ڪري بہ وٺن تہ پنهنجي مزاج جي لحاظ کان ان کي دير تائين باقي رکڻ تي قادر نہ هوندا آهن. گهڻو وقت نہ ٿو گذري جو هو پنهنجي منفي جذبن جي اثر ۾ اچي معاهدي کي ٽوڙي ڇڏيندا آهن ۽ اهڙي طرح اهل حق کي اِهو موقعو ڏيندا آهن تہ پاڻ تي شروعات ڪرڻ جو الزام وٺڻ کانسواءِ انهن جي خلاف دفاعي ڪارروائي ڪن ۽ خدا جي مدد سان انهن جو خاتمو ڪري ڇڏين.

حڪمت ۽ دانائي جي ابتدا الله جو ڊپ آهي. الله جو ڊپ ماڻهن جي اندر اعتراف جو مادو پيدا ڪندو آهي. اُهو ماڻهوءَ جي اندر اُهو شعور جاڳائي ٿو جو هُو حقيقتن کي انهن جي اصلي روپ ۾ ڏسي سگهي. اِهوئي سبب آهي تہ الله کان ڊڄڻ وارن جي لاءِ خدائي منصوبي کي سمجهڻ ۾ دير نہ ٿي لڳي. اُهي خدا جي مرضي کي ڄاڻڻ کانپوءِ پوري اعتماد سان پنهنجي پاڻ کي ان ۾ لڳائي ڇڏيندا آهن. اُهي ان صحيح رستي تي هلي پوندا آهن، جنهن جي آخري منزل رڳو ڪاميابي آهي. الله جو ڊپ ماڻهن جي اکين کي ڳوڙهن سان آلو ڪري ڇڏيندو آهي. پر الله جي لاءِ آلي اک ئي اُها اک آهي، جنهن جي لاءِ اُهو مقدر آهي تہ ان کي ٺاريو ويندو، دنيا ۾ بہ ۽ آخرت ۾ بہ.

اَمۡ حَسِبۡتُمۡ اَنۡ تُتۡرَكُوۡا وَ لَمَّا يَعۡلَمِ اللّٰهُ الَّذِيۡنَ جٰهَدُوۡا مِنۡكُمۡ وَ لَمۡ يَتَّخِذُوۡا مِنۡ
ع دُوۡنِ اللّٰهِ وَلَا رَسُوۡلِهٖ وَ لَا الۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَلِيۡجَةً ؕ وَ اللّٰهُ خَبِيۡرٌۢ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ ﴿١٦﴾

ڇا توهان جو اِهو خيال آهي تہ توهان کي ايئن ئي ڇڏي ڏبو، حالانڪ اڃا الله توهان مان انهن ماڻهن کي ڇاتو ئي نہ آهي، جن جهاد ڪيو ۽ جن الله ۽ رسول ۽ مؤمنن کان سواءِ ڪنهن کي دوست نہ بڻايو ۽ الله ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجھ توهان ڪريو ٿا. ١٦

---

موجوده دنيا ۾ ماڻهو جڏهن ڪنهن شيءِ کي پنهنجي زندگي جو مقصد بڻائيندو آهي تہ اُن کي حاصل ڪرڻ ۾ طرح طرح جا مسئلا ۽ تقاضا سامهون ايندا آهن. جيڪڏهن ماڻهو کي پنهنجو مقصد عزيز آهي تہ هو انهن مسئلن کي پار ڪرڻ ۽ انهن تقاضن کي پوري ڪرڻ ۾ پنهنجي سڄي قوت لڳائي ڇڏيندو آهي. اُن ئي جو نالو جهاد آهي. اِهو جهاد هن دنيا ۾ هر هڪ کي پيش ايندو آهي. هر ماڻهو کي جهاد جي سطح تي پنهنجي طلب جو ثبوت ڏيڻو پئي ٿو، اُن کان پوءِ ئي اهو ممڪن ٿيندو آهي جو هو پنهنجي طلب ۾ ڪامياب ٿئي. فرق اِهو آهي تہ غير مؤمن دنيا جي راهہ ۾ جهاد ڪندو آهي ۽ مؤمن آخرت جي راهہ ۾.

اِهوئي جهاد اِهو ثابت ڪندو آهي تہ ماڻهو پنهنجي مقصد ۾ ڪيترو سنجيدهہ آهي. هڪ ماڻهو جيڪو ايمان جو دعويدار هجي، اُن جي سامهون بار بار مختلف موقعا ايندا آهن جيڪي اُن جي دعويٰ جو امتحان هوندا آهن. ڪڏهن اُن جي دل ڪنهن جي خلاف نفرت ۽ حسد جي جذبن سان متاثر ٿيڻ لڳندي آهي ۽ اُن جو ايمان اُن کي چوندو آهي تہ هِن قسم جي سيني جذبن کي پنهنجي اندر مان ڪڍي ڇڏ. ڪڏهن اُن جي زبان تي نا پسنديده لفظ اچن ٿا ۽ ايمان جي تقاضا اِها هوندي آهي تہ اُن وقت پنهنجي زبان کي روڪجي. ڪڏهن معاملن ۽ مسئلن ۾ ڪنهن کي اهڙو حق ڏيڻو پئجي وڃي ٿو جيڪو دل کي بلڪل ناگوار هوندو آهي، پر ايمان چئي رهيو هوندو آهي تہ حقدار کي انصاف جي مطابق اُن جو پورو حق ڏنو وڃي. اهڙي طرح اسلام جي دعوت ڪڏهن اهڙي موڙ تي پهچي ٿي وڃي تہ ايمان چوندو آهي تہ اُن کي ڪامياب ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي جان ۽ مال قربان ڪري ڇڏيو، اهڙن سيني موقعن تي پاسو ڪرڻ يا فرار ٿيڻ کان بچڻ ۽ هر قيمت تي ايمان ۽ اسلام جي تقاضن کي پوري ڪرڻ جو نالو ئي جهاد آهي.

جڏهن ڪو ماڻهو اسلام جي لاءِ مجاهد بڻجي وڃي تہ اُن جو سڄو نفسياتي تعلق الله ۽ رسول ۽ اهل ايمان سان ٿي ويندو آهي. هو انهن کان سواءِ ڪنهن کي پنهنجو دلي دوست نہ ٿو بڻائي. وَلَجَ جي معنيٰ آهي داخل ٿيڻ وليجہ ڪنهن وادي جي اُن غار کي چوندا آهن جتي رستي تي هلڻ وارا مينهن وغيره کان پناهہ وٺن. اِنهيءَ مان مراد وليجہ آهي، يعني دلي دوست.

موجوده دنيا ۾ جڏهن بہ ماڻهو ڪنهن وڏي مقصد کي اپنائي ٿو تہ اُن کي لازمي ايئن ڪرڻو پوندو آهي تہ هو پنهنجي مقصد جي مرڪز سان وابستہ هجي. هو پنهنجي قائد جو مڪمل وفادار هجي. هو اُن راهہ جي ساٿين سان پوري طرح جڙي وڃي. مقصد جي احساس سان اِهي شيون لازم آهن. انهن جي بغير بامقصد زندگي جي دعويٰ بلڪل ڪوڙي آهي. اهڙي طرح ماڻهو جڏهن دين کي سنجيدگي سان پنهنجي زندگي ۾ داخل ڪندو تہ لازمي طور تي ايئن ٿيندو تہ خدا ۽ رسول ۽ اهل ايمان اُن جا ”وليجہ“

ٻڌجي ويندا. هو هر لحاظ ڪان انهن سان جڙيل ويندو. سنجيدگي سان دين اختيار ڪرڻ واري جي لاءِ الله ۽ رسول ۽ اهل ايمان، عملي طور اهڙي وحدت جا جُزء آهن، جن جي وچ ۾ تقسيم ممڪن نہ آهي.

اُن معاملي جي نزاڪت اجا بہ وَڌي ويندي آهي جڏهن اِهو واضح هجي تہ اُن معاملي جي جانچ ڪرڻ وارو اُهو آهي جنهن ڪي ظاهر ۽ باطن جو علم آهي. هو هر ماڻهوءَ سان اُن جي حقيقت جي لحاظ ڪان معاملو ڪندو نہ وري اُن جي ظاهري روين جي لحاظ ڪان.

مَا كَانَ لِلْمُشْرِكِيْنَ اَنْ يَّعْمُرُوْا مَسٰجِدَ اللّٰهِ شٰهِدِيْنَ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ بِالْكُفْرِ ؕ اُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ ۚۖ وَ فِي النَّارِ هُمْ خٰلِدُوْنَ ﴿۱۷﴾ اِنَّمَا يَعْمُرُ مَسٰجِدَ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَ اَقَامَ الصَّلٰوةَ وَ اٰتَى الزَّكٰوةَ وَ لَمْ يَخْشَ اِلَّا اللّٰهَ فَعَسٰٓى اُولٰٓئِكَ اَنْ يَّكُوْنُوْا مِنَ الْمُهْتَدِيْنَ ﴿۱۸﴾ اَجَعَلْتُمْ سِقَايَةَ الْحَآجِّ وَ عِمَارَةَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ كَمَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَ جٰهَدَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ لَا يَسْتَوٗنَ عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۹﴾ اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ هَاجَرُوْا وَ جٰهَدُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِاَمْوَالِهِمْ وَ اَنْفُسِهِمْ ۙ اَعْظَمُ دَرَجَةً عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ﴿۲۰﴾ يُبَشِّرُهُمْ رَبُّهُمْ بِرَحْمَةٍ مِّنْهُ وَ رِضْوَانٍ وَّ جَنّٰتٍ لَّهُمْ فِيْهَا نَعِيْمٌ مُّقِيْمٌ ﴿۲۱﴾ۙ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿۲۲﴾

ربع

مشرڪن جو ڪم نہ آهي تہ هو الله جي مسجدن کي آباد ڪن، حالانڪ هُو خود پنهنجي ڪفر تي گواهہ آهن. انهن ماڻهن جا عمل ڇٽ تي ويا ۽ اُهي هميشہ باهہ ۾ رهڻ وارا آهن. الله جي مسجدن کي تہ اُهو آباد ڪندو آهي جيڪو الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آڻي ۽ نماز قائم ڪري زڪوات ادا ڪري ۽ الله ڪانسواءِ ڪنهن ڪان نہ ڊڄي. اهڙا ماڻهو اُميد آهي تہ هدايت پائڻ وارن مان ٿيندا. ڇا توهان حاجين کي پاڻي پيارڻ ۽ مسجد حرام کي آباد ڪرڻ کي ان ماڻهو جي برابر ڪري ڇڏيو آهي جنهن الله ۽ آخرت تي ايمان آندو ۽ الله جي راهہ ۾ جهاد ڪيو، الله وٽ اِهي ٻئي برابر نہ ٿا ٿي سگهن. ۽ الله ظالم ماڻهن کي راهہ نہ ٿو ڏيکاري. جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن هجرت ڪئي ۽ الله جي راهہ ۾ پنهنجي جان ۽ مال سان جهاد ڪيو، انهن جو درجو الله وٽ وڏو آهي ۽ اُهي ئي ماڻهو ڪامياب آهن. انهن جو رب انهن کي خوشخبري ڏي ٿو سندس رحمت ۽ راضپي جي ۽ اهڙن باغن جي جن ۾ انهن جي لاءِ سدائين نعمتون هونديون، انهن ۾ هُو هميشہ رهندا. بيشڪ الله وٽ ئي وڏو اجر آهي. ۱۷-۲۲

---

قرآن نازل ٿيڻ وقت عرب ۾ اِها صورتحال هئي تہ مسلمان رسول الله جي چؤطرف جمع هئا ۽ مشرڪ بيت الله جي چؤطرف. ان وقت تائين رسول اللهﷺ سان گڏ عظمتن جي اُها تاريخ وابستہ نہ ٿي هئي جنهن کي اڄ اسان ڄاڻو ٿا. ماڻهن کي پاڻﷺ عام انسانن وانگر هڪ انسان ڏسڻ ۾ ايندا هئا. ٻئي طرف مسجد حرام هزارن سالن جي تاريخ جي نتيجي ۾ عظمت ۽ تقدس جي علامت ٻڻجي وئي هئي. مشرڪن جي نظر ۾ پنهنجي تصوير تہ اِها هئي تہ هُو هڪ مقدس ترين مرڪز جا خادم ۽ آباد ڪندڙ

آهن. ٻئي طرف جڏهن اُهي مسلمانن کي ڏسندا هئا تہ ان وقت جي حالتن ۾ انهن کي ايئن لڳندو هو جيئن ڪجهہ ماڻهو هڪ ديواني جي پويان لڳل آهن.

پر مشرڪن جو اِهو خيال سراسر باطل هو. اُهي ظاهر جو مقابلو حقيقت سان ڪرڻ جي غلطي ڪري رهيا هئا. مسجد حرام جي زيارت ڪرڻ وارن کي پاڻي پيارڻ، ان جي اندر روشني ۽ صفائي جو انتظام، ڪعبہ تي غلاف چاڙهڻ، مسجد جي فرش ۽ ڀت جي مرمت، اُهي سڀ ظاهري نمائش جون شيون آهن. ڇا اِهي انهن عملن جي برابر ٿي سگهن ٿيون؟ جڏهن تہ ماڻهن کي الله ملي وڃي ۽ هُو آخرت جي فڪر ۾ جيئڻ لڳي، اُهو پنهنجي زندگي ۽ مال و ملڪيت کي خدا جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي. هُو ٻين سيني وڏائين جو انڪار ڪري هڪ خدا کي پنهنجو وڏو ٻڌائي ونندو آهي. سچائي کي پائڻ وارا اصل اُهي ماڻهو آهن جن ان کي معنيٰ جي سطح تي پاتو هجي نہ ورڻ ظاهر جي سطح تي. جيڪي قرباني جي حد تائين سچائي سان تعلق رکڻ وارا هجن نہ ورڻ رڳو سطحي ۽ نمائشي ڪارروائين جي حد تائين.

الله سان تعلق جا ٻہ قسم آهن. هڪ تعلق اُهو آهي جيڪو رسمي عقيدي جي حد تائين هوندو آهي، جنهن ۾ ماڻهو ڪجهہ ڏيکاءُ جا عمل تہ ڪندو آهي پر پاڻ کي ۽ پنهنجي مال کي خدا جي راهہ ۾ نہ ڏيندو آهي. ٻيو تعلق اُهو آهي جڏهن ماڻهو پنهنجي ايمان ۾ ايترو سنجيده هجي جو اُن جي راهہ ۾ هُن کي جيڪو ڪجهہ ڇڏڻو پوي هُو ان کي ڇڏي ڏي ۽ جيڪا شيءِ ڏيڻي پوي ان کي ڏيڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃي. اهڙي ئي قسم جا ٻانها مرڻ ڪانپوءِ خدا وٽ اعليٰ ترين انعامن سان نوازيا ويندا.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْٓا اٰبَآءَكُمْ وَ اِخْوَانَكُمْ اَوْلِيَآءَ اِنِ اسْتَحَبُّوا الْكُفْرَ عَلَى الْاِيْمَانِ ؕ وَ مَنْ يَّتَوَلَّهُمْ مِّنْكُمْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢٣﴾ قُلْ اِنْ كَانَ اٰبَآؤُكُمْ وَ اَبْنَآؤُكُمْ وَ اِخْوَانُكُمْ وَ اَزْوَاجُكُمْ وَ عَشِيْرَتُكُمْ وَ اَمْوَالُ ِۨاقْتَرَفْتُمُوْهَا وَ تِجَارَةٌ تَخْشَوْنَ كَسَادَهَا وَ مَسٰكِنُ تَرْضَوْنَهَآ اَحَبَّ اِلَيْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ جِهَادٍ فِيْ
ع سَبِيْلِهٖ فَتَرَبَّصُوْا حَتّٰى يَاْتِيَ اللّٰهُ بِاَمْرِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٢٤﴾

اي ايمان وارؤ! پنهنجي پيئرن ۽ پنهنجن ڀائرن کي دوست نہ بڻايو جيڪڏهن هو ايمان جي مقابلي ۾ ڪفر کي عزيز رکن. ۽ توهان مان جيڪي انهن کي پنهنجو دوست رکندا تہ اهڙا ئي ماڻهو ظالم آهن. چؤ تہ جيڪڏهن توهان جا پيءُ ۽ توهان جا پٽ ۽ توهان جا ڀائر ۽ توهان جون زالون ۽ توهان جو خاندان ۽ اُهو جيڪو توهان ڪمايو آهي ۽ اُها تجارت جنهن جي نقصان کان توهان ڊڄو ٿا ۽ اُهي گهر جن کي توهان پسند ڪريو ٿا، اهي سڀ توهان کي الله ۽ اُن جي رسول ۽ اُن جي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ کان وڌيڪ محبوب آهن تہ انتظار ڪريو ايستائين جو الله پنهنجو حڪم موڪلي ۽ الله نافرمان ماڻهن کي هدايت نہ ٿو ڏي. ٢٣-٢٤

---

ماڻهن جي لاءِ پنهنجو خاندان، پنهنجي جائداد، پنهنجا معاشي مفاد سڀ کان قيمتي هوندا آهن انهن شين کي اُهي سڀ کان وڌيڪ اهم سمجهندا آهن. هر ٻي شيءِ جي مقابلي ۾ هو انهن کي ترجيح ڏيندا آهن ۽ پنهنجو سڀ ڪجهہ اُن تي نثار ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙي قسم جي زندگي دنياداراڻي زندگي

آهي. اهڙو ماڻهو جيڪو ڪجهه حاصل ڪري ٿو رڳو هِن دنيا ئي ۾ حاصل ڪري ٿو. موت ڪان پوءِ واري هميشه واري زندگي ۾ اُن جي لاءِ ڪجهه بہ نہ آهي. اُن جي ابتڙ ٻي زندگي اُها آهي، جڏهن ماڻهو الله ۽ رسول ڪي ۽ الله جي راهہ ۾ جدوجهد ڪي سيني ڪان وڌيڪ اهميت ڏي ۽ اُن جي خاطر هر شيءِ ڇڏڻ جي لاءِ تيار رهي. اِها ئي ٻي زندگي خدا پرستي واري زندگي آهي ۽ اهڙن ئي ماڻهن جي لاءِ آخرت ۾ ابدي جنتن جا دروازا کوليا ويندا.

هڪ زندگي اُها آهي جيڪا دنياوي تعلقن ۽ دنياوي مفادن جي بنياد تي قائم ٿيندي آهي. ٻئي زندگي اُها آهي جيڪا ايمان جي بنياد تي قائم ٿيندي آهي. ٻنهي مان جنهن شيءِ کي بہ ماڻهو پنهنجي زندگي جو بنياد بڻائي، اِهو هميشہ اُن قيمت تي ٿيندو آهي، جو هو اُن جي خاطر ٻي شيءِ کي ڇڏي ڏي. هو ڪجهه ماڻهن سان تعلق قائم رکي ۽ ڪجهه ٻين ماڻهن سان ٻي تعلق ٿي وڃي. هو ڪجهه شين جي بقاء ۽ ترقي ۾ پنهنجي سڄي توجهہ لڳائي ڇڏي ۽ ڪجهه ٻين شين جي بقاء ۽ ترقي جي معاملي ۾ بي پرواهہ ٿي وڃي. ڪجهه نقصان اُن کي ڪنهن بہ قيمت تي گوارا نہ هجن، هو جان جي بازي لڳائي ۽ پنهنجو بهترين سرمايو خرچ ڪري اُنهن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري ۽ ڪجهه ٻين نقصانن کي هو پنهنجن اکين سان ڏسي پر انهن جي باري ۾ هُن جي اندر ڪا تڙپ پيدا ٿئي. دنيا هميشہ انهن ماڻهن کي ملندي آهي جيڪي دنيا جي خاطر پنهنجو سڀ ڪجهہ لڳائي ڇڏين. اهڙي طرح آخرت صرف انهن ماڻهن جي حصي ۾ ايندي جيڪي آخرت جي خاطر ٻين شين کي قربان ڪري ڇڏين.

ترجيح (هڪ کي ڇڏي ٻئي کي وٺڻ جو معاملو) انتهائي سنگين آهي. ترجيح ئي ماڻهو جي ڪفر ۽ ايمان جو فيصلو ڪندي آهي. خدا جي دنيا ۾ جهڙي طرح ڪافرن جي لاءِ ڪاميابي مقدر نہ آهي اهڙي طرح انهن ماڻهن لاءِ بہ هتي ڪاميابي جو ڪو بہ امڪان نہ آهي جيڪي ايمان جي دعويٰ ڪن ۽ جڏهن نازڪ موقعو اچي تہ هو آخرت پسندي واري طريقي جي مقابلي ۾ دنياداري واري طريقي کي ترجيح ڏين. اهڙا ايمان جا دعويدار جيڪڏهن پنهنجي باري ۾ خوش فهمي ۾ مبتلا هجن تہ انهن کي اُن وقت خبر پئجي ويندي جڏهن الله پنهنجو فيصلو ظاهر ڪري ڇڏيندو.

لَقَدۡ نَصَرَكُمُ اللّٰهُ فِیۡ مَوَاطِنَ كَثِیۡرَةٍ ۙ وَّیَوۡمَ حُنَیۡنٍ ۙ اِذۡ اَعۡجَبَتۡكُمۡ كَثۡرَتُكُمۡ فَلَمۡ تُغۡنِ
عَنۡكُمۡ شَیۡـًٔا وَّ ضَاقَتۡ عَلَیۡكُمُ الۡاَرۡضُ بِمَا رَحُبَتۡ ثُمَّ وَلَّیۡتُمۡ مُّدۡبِرِیۡنَ ۚ﴿۲۵﴾ ثُمَّ اَنۡزَلَ
اللّٰهُ سَكِیۡنَتَهٗ عَلٰی رَسُوۡلِهٖ وَ عَلَی الۡمُؤۡمِنِیۡنَ وَ اَنۡزَلَ جُنُوۡدًا لَّمۡ تَرَوۡهَا وَ عَذَّبَ الَّذِیۡنَ
كَفَرُوۡا ؕ وَ ذٰلِكَ جَزَآءُ الۡكٰفِرِیۡنَ ﴿۲۶﴾ ثُمَّ یَتُوۡبُ اللّٰهُ مِنۡۢ بَعۡدِ ذٰلِكَ عَلٰی مَنۡ یَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ
غَفُوۡرٌ رَّحِیۡمٌ ﴿۲۷﴾ یٰۤاَیُّهَا الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِنَّمَا الۡمُشۡرِكُوۡنَ نَجَسٌ فَلَا یَقۡرَبُوا الۡمَسۡجِدَ
الۡحَرَامَ بَعۡدَ عَامِهِمۡ هٰذَا ۚ وَ اِنۡ خِفۡتُمۡ عَیۡلَةً فَسَوۡفَ یُغۡنِیۡكُمُ اللّٰهُ مِنۡ فَضۡلِهٖۤ اِنۡ
شَآءَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِیۡمٌ حَكِیۡمٌ ﴿۲۸﴾

بيشڪ الله گھڻن موقعن تي توهان جي مدد ڪئي آهي ۽ حنين واري ڏينهن به جڏهن توهان جي گھڻائي توهان کي ناز ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو. پوءِ هو توهان جي ڪجھ به ڪم نه آئي. ۽ زمين ڪشادي هجڻ جي باوجود توهان تي تنگ ٿي وئي، پوءِ توهان پٺ ڏئي ڀڳؤ. اُن ڪان پوءِ الله پنهنجي رسول ۽ مؤمنن تي پنهنجي تسلي (سڪينت) نازل ڪئي ۽ اهڙا لشڪر لاٿا جن کي توهان نه ڏٺو ۽ الله ڪافرن کي سزا ڏني ۽ اِهوئي ڪافرن جو بدلو آهي. اُن ڪان پوءِ الله جنهن کي چاهي توبھ نصيب ڪري ۽ الله بخشڻ وارو مهربان آهي . اي ايمان وارؤ! مشرڪ بلڪل ناپاڪ آهن. تنهن ڪري هو هن سال کان پوءِ مسجد حرام وٽ نه اچن ۽ جيڪڏهن توهان کي مفلسي جو ڊپ آهي ته الله جيڪڏهن گھريو ته پنهنجي فضل سان توهان کي بي نياز ڪري ڇڏيندو. الله عليم ۽ حڪيم آهي. ۲۵- ۲۸

---

مسلمانن جو غلبو ڪافرن کي انهن جي ڪفر جي سزا جو نتيجو آهي. پر ڪافرن جو ڪفر مسلمانن جي اسلام جي نسبت سان ثابت ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن مسلمان پنهنجي اسلام کي وڃائي ڇڏين ته ڪافرن جو ڪفر ڪهڙي شيءِ جي مقابلي ۾ ثابت ٿيندو ۽ ڪهڙي بنياد تي خدا اُهو فرق ڪرڻ جو معاملو ڪندو جو هڪ ڌر لاءِ انعام بڻجي ۽ ٻي ڌر لاءِ سزا.

رمضان سن۸ھ ۾ مسلمانن قريش کي ڪاميابي سان شڪست ڏئي مڪي کي فتح ڪيو. پر ان ڪان پوءِ شوال سن ۸ھ ۾ انهن کي هوازن ۽ ثقيف جي مشرڪ قبيلن جي مقابلي ۾ شڪست ٿي، جڏهن ته مڪي جي فتح جي وقت مسلمانن جو تعداد ڏھ هزار ۽ هوازن ۽ ثقيف سان مقابلي جي وقت ٻارنهن هزار هو. اُن جو سبب اِهو هو ته قريش سان مقابلي جي وقت مسلمان رڳو الله جي ڀروسي تي نڪتا هئا. پر هوازن ۽ ثقيف سان مقابلي لاءِ نڪرندي وقت انهن کي اِهو فخر هو ته هاڻي ته اسان مڪي جا فاتح آهيون. اسان سان گڏ هاڻي ٻارنهن هزارن ماڻهن جو لشڪر آهي، اَڄ اسان کي ڪير ٿو شڪست ڏئي سگھي. جڏهن هو خدا جي ڀروسي تي هئا ته انهن کي ڪاميابي ملي. جڏهن انهن کي پنهنجي ذات تي اعتماد ٿي ويو ته انهن کي شڪست کي منهن ڏيڻو پيو.

پنهنجي ذات تي ڀروسو ماڻهو جي اندر تڪبر جو جذبو پيدا ڪري ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ خارجي حقيقتن کان بي پرواهي پيدا ٿي ويندي آهي. هو پنهنجي تياري ۽ منصوبہ بندي ۾ ڪوتاهي ڪندو آهي. هو حد کان وڌيڪ خود اعتمادي جي ڪري حقيقت جي برخلاف قدم کڻڻ لڳندو آهي. جنهن جو نتيجو هن اسباب جي دنيا ۾ لازمي شڪست آهي. اُن جي ابتڙ خدا تي ڀروسو سڀني کان وڏي طاقت تي ڀروسو آهي اُن سان ماڻهو جي اندر عاجزي جو جذبو پيدا ٿيندو آهي. هو انتهائي حقيقت پسند بڻجي ويندو آهي. ۽ حقيقت پسندي بيشڪ سڀني ڪاميابين جو بنياد آهي.

شروع ۾ جڏهن اِهو حڪم آيو ته حرم ۾ مشرڪن جي داخلا بند ڪري ڇڏيو ته مسلمانن کي ڳڻتي ٿي، ڇاڪاڻ ته زرعي ملڪ نه هئڻ جي ڪري عرب جي اقتصاديات جو دارو مدار تجارت تي هو ۽ تجارت جو بنياد هميشہ گڏيل تعلقات تي هوندو آهي. مسلمانن سوچيو ته جڏهن حرم ۾ مشرڪن جو اچڻ بند ٿي ويندو ته انهن سان تجارتي رشتا به ٽُٽي ويندا. پر انهن جي نظر اُن امڪان تي نه وئي ته اڄ جا مشرڪ سڀاڻي جا مسلمان ٿي سگھن ٿا. پوءِ ايئن ئي ٿيو. عربن جي اسلام قبول ڪري وٺڻ جي ڪري تجارتي سرگرميون ٻيهر نئين صورت ۾ بحال ٿي ويون. ۽ هن ابتدائي قرباني جو نتيجو اِهو ٿيو جو

آخرڪار اسلام هڪ بين الاقوامي دين بڻجي ويو. جيڪي معاشي دروازا مقامي سطح تي بند ٿيندي پئي نظر آيا اُهي عالمي سطح تي کلي ويا.

قَاتِلُوا الَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِاللّٰهِ وَ لَا بِالۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ وَ لَا يُحَرِّمُوۡنَ مَا حَرَّمَ اللّٰهُ وَ رَسُوۡلُهٗ وَ لَا يَدِيۡنُوۡنَ دِيۡنَ الۡحَقِّ مِنَ الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡكِتٰبَ حَتّٰى يُعۡطُوا الۡجِزۡيَةَ عَنۡ يَّدٍ وَّ هُمۡ صٰغِرُوۡنَ ﴿۲۹﴾ وَ قَالَتِ الۡيَهُوۡدُ عُزَيۡرُ ۨابۡنُ اللّٰهِ وَ قَالَتِ النَّصٰرَى الۡمَسِيۡحُ ابۡنُ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ قَوۡلُهُمۡ بِاَفۡوَاهِهِمۡ ۚ يُضَاهِـُٔوۡنَ قَوۡلَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا مِنۡ قَبۡلُ ؕ قٰتَلَهُمُ اللّٰهُ ۚ اَنّٰى يُؤۡفَكُوۡنَ ﴿۳۰﴾ اِتَّخَذُوۡۤا اَحۡبَارَهُمۡ وَ رُهۡبَانَهُمۡ اَرۡبَابًا مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ وَ الۡمَسِيۡحَ ابۡنَ مَرۡيَمَ ۚ وَ مَاۤ اُمِرُوۡۤا اِلَّا لِيَعۡبُدُوۡۤا اِلٰهًا وَّاحِدًا ۚ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ سُبۡحٰنَهٗ عَمَّا يُشۡرِكُوۡنَ ﴿۳۱﴾

انهن اهل ڪتاب سان وڙهو جيڪي نہ الله تي ايمان رکن ٿا ۽ نہ آخرت جي ڏينهن تي ۽ نہ الله ۽ اُن جي رسول جي حرام ڪيل کي حرام ڄاڻن ٿا ۽ نہ حق واري دين کي پنهنجو دين بڻائن ٿا. ايستائين (وڙهو) جيستائين هو پنهنجي هٿن سان جزيو ڏين ۽ ننڍا ٿي رهن. ۽ يهودين چيو تہ عُزير الله جو پٽ آهي ۽ نصارن چيو تہ مسيح الله جو پٽ آهي اِهي سندن وات جون ڳالهيون آهن. هو انهن ماڻهن جي ڳالهہ نقل ڪري رهيا آهن جن انهن کان پهرين ڪفر ڪيو هو. الله اِنهن کي هلاڪ ڪري، اهي ڪيڏانهن ڀٽڪي رهيا آهن. انهن الله کان سوا پنهنجي عالمن ۽ درويشن کي رب ڪري ورتو آهي ۽ مسيح پٽ مريم کي بہ. حالانڪ انهن کي صرف رڳو اِهو حڪم هو تہ هو هڪ معبود جي عبادت ڪن ان ڪانسواءِ ڪو معبود نہ آهي. هو پاڪ آهي اُن کان جن کي هو شريڪ ڪندا آهن. ۲۹-۳۱

---

ايمان زندهہ هجي تہ ماڻهو هر واقعي کي خدا ڏانهن منسوب ڪندو آهي هو ڪنهن بہ شيءِ کي ان وقت سمجهي سگهندو آهي، جڏهن خدا جي نسبت سان ان جي باري ۾ راءِ قائم ڪري وٺي. هو گل جي خوشبو کي ان وقت سمجهندو آهي، جڏهن ان ۾ ان کي خدا جي مهڪ ملي وڃي. هو سج کي ان وقت دريافت ڪندو آهي، جڏهن تہ هو اُن جي عطا ڪرڻ واري کي معلوم ڪري وٺي. هر وڏائي ان کي خدا جو عطيو نظر ايندي آهي. هر خوبي ان کي خدا جو احسان ياد ڏياريندي آهي. ان جي ابتڙ جيڪڏهن خدا سان ماڻهن جو تعلق گهٽجي ڪري رڳو هڪ معمولي عقيدي جي درجي تي اچي وڃي تہ خدا ان جي زندهہ شعور جي لاءِ هڪ اڻ ڄاڻ شيءِ بڻجي ويندو. هُو دنيا جي نظر اچڻ واري شين تي خدا کي قياس ڪرڻ لڳندو.

ٻئي قسم جا ماڻهو فطري طور تي خالق کي انهن دنياوي شين جي نظر سان ڏسڻ لڳندا آهن، جن کي هُو ڄاڻن ٿا. اُهي خالق کي مخلوق جي سطح تي آڻي ڇڏيندا آهن. اِهوئي حال يهودين ۽ نصارن جو سندن بگاڙ جي زماني ۾ ٿيو. هاڻي خدا انهن وٽ معمولي عقيدي واري حيثيت جو ٿي رهجي ويو، تنهن ڪري هُو پنهنجي نظر اچڻ وارن عالمن ۽ بزرگن کي اُهو درجو ڏيڻ لڳا، جيڪو درجو عالم الغيب خدا کي ڏيڻ کپي. انهن ڏٺو تہ يوناني ۽ رومي قومون سج کي خدا بڻائي ان جي لاءِ فرضي پٽ بڻائي ويٺا آهن تہ انهن کي بہ پنهنجن بزرگن جي لاءِ اِهوئي سڀ کان مٿانهون لفظ نظر آيو. هاڻي انهن پنهنجن

آسماني ڪتابن ۾ اب ۽ ابن جي لفظن جي هٿ ٺوڪيل تشريح ڪري خدا ڪي پيءُ ۽ پنهنجي پيغمبر ڪي ان جو پٽ چوڻ شروع ڪري ڇڏيو. حالانڪ خدا تہ رڳو هڪ ئي آهي، هو هر مثال کان پاڪ آهي، اُهوئي اڪيلو ان جو مستحق آهي تہ ان کي وڏو سمجهي ۽ ان جي عبادت ڪئي وڃي.

رسول اللهﷺ جي خلاف اڳرائي ڪرڻ وارا مشرڪ (بني اسماعيل) بہ هئا ۽ اهل ڪتاب (بنو اسرائيل) بہ. پر ٻنهي سان جدا جدا معاملو ڪيو ويو. مشرڪن سان جنگ يا اسلام جو اصول اختيار ڪيو ويو. پر اهل ڪتاب جي لاءِ حڪم ٿيو تہ جيڪڏهن هو جزيو (سياسي اطاعت) تي راضي ٿي وڃن تہ انهن کي ڇڏي ڏيو. هن فرق جو سبب اهو آهي تہ مشرڪ رسول اللهﷺ جا اصل مخاطب هئا ۽ اهل ڪتاب تبعًا. الله جي سنت اِها آهي تہ جنهن قوم تي پيغمبر جي ذريعي براه راست دعوت پهچائي ويندي آهي ان کان حجت پوري ٿيڻ کانپوءِ زندگي جو حق کسي ورتو آهي، بلڪل ايئن ئي جيئن ڪنهن ملڪ ۾ هڪ ماڻهو کي باغي ثابت ٿيڻ کانپوءِ ان کان زندگي جو حق کسي ورتو آهي. پر جيستائين ٻين گروهن جو تعلق آهي، انهن سان اُهوئي سياسي معاملو ڪيو ويندو آهي جيڪو عام بين الاقوامي اصولن جي مطابق درست هجي.

يُرِيۡدُوۡنَ اَنۡ يُّطۡفِـُٔوۡا نُوۡرَ اللّٰهِ بِاَفۡوَاهِهِمۡ وَ يَاۡبَى اللّٰهُ اِلَّاۤ اَنۡ يُّتِمَّ نُوۡرَهٗ وَ لَوۡ كَرِهَ
الۡكٰفِرُوۡنَ ﴿۳۲﴾ هُوَ الَّذِىۡۤ اَرۡسَلَ رَسُوۡلَهٗ بِالۡهُدٰى وَ دِيۡنِ الۡحَقِّ لِيُظۡهِرَهٗ عَلَى الدِّيۡنِ كُلِّهٖ ۙ وَ لَوۡ
كَرِهَ الۡمُشۡرِكُوۡنَ ﴿۳۳﴾

هو چاهين ٿا تہ الله جي روشني کي پنهنجي منهن سان وسائي ڇڏين ۽ الله پنهنجي روشني کي پورو ڪرڻ کانسواءِ نہ رهندو، چاهي ڪافرن کي ڪيتروئي ناگوار لڳي. ان ئي پنهنجي رسول کي موڪليو آهي هدايت ۽ دين حق سان گڏ، تہ جيئن ان کي سيني دينن تي غالب ڪري ڇڏي چاهي اِهو مشرڪن کي ڪيترو ئي ناگوار لڳي. ۳۲-۳۳

---

هنن آيتن ۾ خدا پنهنجي اُن مستقل فيصلو جو اعلان ڪيو آهي تہ هُو پنهنجي دين کي قيامت تائين پوري طرح محفوظ رکندو، ماضي وانگر هاڻي ايئن نہ ٿيڻ ڏبو تہ ماڻهو پنهنجن ملاوٽڻ سان خدا جي دين کي گم ڪري ڇڏين يا ڪا طاقت ان کي مٽائڻ ۾ ڪامياب ٿئي.

الله تعاليٰ جڏهن انسان کي زمين تي آباد ڪيو تہ انهيءَ ان ئي سان گڏ ان جي لاءِ پنهنجو هدايت نامو بہ انسان جي حوالي ڪري ڇڏيو. بعد جي دور ۾ جڏهن ماڻهو غفلت جي دنيا پرستي ۾ مبتلا ٿيا، تہ انهن خدا جي لفظن کي بدلائي ان کي پنهنجن خواهشن جي مطابق بڻائي ورتو. مثال طور پنهنجن بزرگن کي خدا وٽ سفارشي مڃي اِهو عقيدو ٺاهي ورتو تہ اسان جيڪو ڪجهہ بہ ڪريون، اسان جا بزرگ پنهنجي سفارش جي زور تي اسان کي خدا وٽ نجات ڏياريندا يا اِهو تہ جنت ۽ جهنم سڀ هِن ئي دنيا ۾ آهي، اڳيان ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. ماڻهو جيڪو ڪجهہ چاهيندا هئا، ان کي انهن خدا ڏانهن منسوب ڪري خدا جي ڪتاب ۾ لکي ڇڏيو. ان کانپوءِ خدا ٻيو نبي موڪليو، جنهن خدا جي دين کي انساني ملاوٽڻ کان الڳ ڪري ٻيهر ان کي صحيح شڪل ۾ پيش ڪيو. پر بعد جي زماني ۾ ماڻهن ان کي بہ بدلائي

ڇڏيو. اهوئي بار بار ٿيندو رهيو. آخرڪار الله تعاليٰ فيصلو ڪيو ته هڪ آخري رسول موڪلي ۽ ان جي ذريعي اِهڙيون حالتون پيدا ڪري جو خدا جو دين هميشه جي لاءِ پنهنجي اصلي حالت ۾ محفوظ ٿي وڃي. پيغمبر عربي جي ذريعي نبوت جي تاريخ جو اهو عظيم ڪارنامو انجام ڪي پهتو.

رسول اللهﷺ جڏهن آيا ته ان وقت ماڻهن هٿ ئوڪيل ڪيترائي دين ٺاهي رکيا هئا. عرب جي مشرڪن جو هڪ دين هو، جنهن کي هو دينِ ابراهيم چوندا هئا. يهودين جو هڪ دين هو، جنهن کي هو دينِ موسيٰ چوندا هئا. نصارن جو هڪ دينِ هو، جنهن کي هو دينِ مسيح چوندا هئا. اِهي سڀئي خدا جي دين جا هٿ ئوڪيل ايڊيشن هئا. جن کي اُنهن پاڻمرادو خدا جي طرفان آيل دين قرار ڏئي رکيو هو. خدا انهن سڀني دينن کي رد ڪري ڇڏيو ۽ پيغمبر عربيﷺ جي دين کي پنهنجي دين جو واحد مستند ايڊيشن جي طور تي قيامت تائين قائم ڪري ڇڏيو.

اڄ اسلام واحد دين آهي جنهن جي متن ۾ ڪا تبديلي ممڪن نه ٿي سگهي. جڏهن ته ٻيا سڀئي دين انسانن جي ڪيل تبديلين جو شڪار ٿي، پنهنجي اصلي تصوير گم ڪري چڪا آهن. اسلام واحد دين آهي جيڪو تاريخي طور تي معتبر دين آهي جڏهن ته ٻيا سڀئي دين پنهنجي حق ۾ تاريخي ثبوت ۽ اعتبار وڃائي ويٺا آهن. اسلام واحد دين آهي، جنهن جي سموري تعليم هڪ زنده زبان ۾ ملندي ، جڏهن ته ٻين سڀني دينن جا ابتدائي ڪتاب اهڙين زبانن ۾ آهن جيڪي هاڻي مرده ٿي چڪا آهن. اسلام جي صورت ۾ خدا مذهب جي جيڪا روشني ٻاري آهي، اُها ڪڏهن به نه هلڪي ٿي ۽ نه ئي ڪو ان کي وسائي سگهيو. اُها ڪامل طور تي دنيا جي سامهون موجود آهي ۽ هر ٻئي دين جي مٽان پنهنجي اصولي برتري کي مسلسل قائم رکندڙ آهي .

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ الْاَحْبَارِ وَ الرُّهْبَانِ لَيَاْكُلُوْنَ اَمْوَالَ النَّاسِ بِالْبَاطِلِ وَ يَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ وَ الَّذِيْنَ يَكْنِزُوْنَ الذَّهَبَ وَ الْفِضَّةَ وَ لَا يُنْفِقُوْنَهَا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۙ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿۳۴﴾ يَّوْمَ يُحْمٰى عَلَيْهَا فِيْ نَارِ جَهَنَّمَ فَتُكْوٰى بِهَا جِبَاهُهُمْ وَ جُنُوْبُهُمْ وَ ظُهُوْرُهُمْ ؕ هٰذَا مَا كَنَزْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ فَذُوْقُوْا مَا كُنْتُمْ تَكْنِزُوْنَ ﴿۳۵﴾

اي ايمان وارؤ! اهل ڪتاب جا اڪثر عالم ۽ درويش ماڻهن جا مال باطل طريقن سان کائين ٿا ۽ ماڻهن کي الله جي رستي کان روڪين ٿا ۽ جيڪي ماڻهو سون ۽ چاندي جمع ڪري رکندا آهن ۽ ان کي الله جي راهه ۾ خرچ نه ٿا ڪن، انهن کي هڪ دردناڪ عذاب جي خوشخبري ڏئي ڇڏ. جنهن ڏينهن ان مال تي دوزخ جي باهه ٻاري ويندي، پوءِ اُن سان سندن پيشانيون ۽ سندن پاسا ۽ سندن پٺيون ڏنبيون وينديون. اِهو ئي آهي اُهو جنهن کي توهان پاڻ لاءِ جمع ڪيو هو. پوءِ هاڻي چکو جيڪو توهان گڏ ڪندا رهيا. ۳۴-۳۵

---

ٻئي جو مال وٺڻ جو هڪ طريقو اِهو آهي ته ان کي حق جي مطابق ورتو وڃي. يعني ماڻهو ٻئي جي ڪا خدمت ڪري يا ان کي ڪو حقيقي نفعو پهچائي ۽ ان جي بدلي ۾ ان جو مال حاصل ڪري، اِهو

بلڪل جائز آهي. باطل طريقي سان ٻئي جو مال وٺڻ اِهو آهي تہ ٻئي کي دوکو ڏئي ڪري ان جو مال حاصل ڪجي. اِهو ٻيو طريقو ناجائز آهي ۽ خدا جي غضب کي ڀڙڪائڻ وارو آهي.

باطل طريقي سان ٻئي جو مال کائڻ اُهائي شيءِ آهي جنهن کي موجوده زماني ۾ استغلال (Exploitation: دوکي سان ٻئي جو مال کائڻ) چيو ويندو آهي. يهودين جا عالم تمام وڏي پيماني تي عوام جو مذهبي استغلال ڪري رهيا هئا. هُو عوام ۾ اهڙا ڪوڙا قصا ڪهاڻيون ڦهلائي ويٺا هئا، جنهن جي نتيجي ۾ ماڻهو بزرگن سان غير معمولي اميدون وابستہ ڪن ۽ پوءِ انهن کي بزرگ سمجهي ڪري، انهن جي برڪت وٺڻ جي لاءِ اچن ۽ انهن کي هديا ۽ نذرانا پيش ڪن. هو خدا جي دين جي خدمت جي نالي تي ماڻهن کان پيسا وصول ڪندا هئا، حالانڪ جيڪو دين هو ماڻهن جي وچ ۾ تقسيم ڪري رهيا هئا، اُهو انهن جو پنهنجو ٺاهيل دين هو، نہ وري حقيقت ۾ خدا جو نازل ڪيل دين. اُهي يهودي قوم کي زنده ڪرڻ جي نالي تي وڏا وڏا چندا وصول ڪندا هئا، حالانڪ قوم جي احياء جي نالي تي هو جيڪو ڪجھ ڪري رهيا هئا، اُهو رڳو اِهو هو تہ ماڻهن کي خوش خيالين ۾ منجهائي انهن کي پنهنجي قيادت جي لاءِ استعمال ڪندا رهن. هُو تعويذ ۽ ڦيٽن جون پراسرار صفتون ۽ فضيلتون ٻڌائي ماڻهن کي وڪڻندا هئا. حالانڪ انهن جو حال اِهو هُو جو اُهي خود پنهنجن نازڪ معاملن ۾ هو ڪڏهن بہ انهن تعويذن ۽ ڦيٽن تي ڀروسو نہ ڪندا هئا.

ماڻهن وٽ جيڪو مال ايندو آهي، ان جا بہ ٻہ ئي جائز استعمال آهن. پنهنجي حقيقي ضرورتن ۾ خرچ ڪرڻ ۽ جيڪو ڪجھ حقيقي ضرورت کان وڌيڪ هجي، ان کي خدا جي رستي ۾ ڏئي ڇڏڻ. اُن کان علاوه جيڪي طريقا آهن، اُهي سڀ ماڻهو جي لاءِ عذاب ٻڌجي وڃڻ وارا آهن. چاهي اُهو پنهنجي مال کي فضول خرچين ۾ اڏائيندو هجي يا اُن کي گڏ ڪري رکندو هجي.

جيڪي ماڻهو يهودين وانگر هٿ ٺوڪيل مذهب جي بنياد تي ڪنهن گروهہ تي پنهنجي قيادت قائم ڪيل هجن ۽ خدا جي دين جي نالي تي ماڻهن جو استغلال ڪري رهيا هجن، اُهي ڪنهن اهڙي دعوت کي سخت ناپسند ڪندا آهن، جيڪا خدا جي سچي ۽ بي آميز دين کي زنده ڪرڻ چاهي. اهڙي دين ۾ انهن کي پنهنجي مذهبي حيثيت ختم ٿيندي نظر ايندي آهي. انهن کي ڏسڻ ۾ ايندو آهي تہ جيڪڏهن ان دعوت کي عوام ۾ مقبوليت حاصل ٿي وئي تہ انهن جي مذهبي تجارت بلڪل بي نقاب ٿي ماڻهن جي سامهون اچي ويندي. هُو اِهڙي تحريڪ جي شروع ٿيندي ئي ان جي خوشبو سونگهي وٺندا آهن ۽ ان جا مخالف ٻڌجي ويهي رهندا آهن.

اِنَّ عِدَّةَ الشُّهُوْرِ عِنْدَ اللّٰهِ اثْنَا عَشَرَ شَهْرًا فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ يَوْمَ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ
الْاَرْضَ مِنْهَآ اَرْبَعَةٌ حُرُمٌ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ ۙ۬ فَلَا تَظْلِمُوْا فِيْهِنَّ اَنْفُسَكُمْ وَ
قَاتِلُوا الْمُشْرِكِيْنَ كَآفَّةً كَمَا يُقَاتِلُوْنَكُمْ كَآفَّةً ؕ وَ اعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿۳۶﴾ اِنَّمَا
النَّسِيْٓءُ زِيَادَةٌ فِي الْكُفْرِ يُضَلُّ بِهِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُحِلُّوْنَهٗ عَامًا وَّ يُحَرِّمُوْنَهٗ عَامًا
لِّيُوَاطِـُٔوْا عِدَّةَ مَا حَرَّمَ اللّٰهُ فَيُحِلُّوْا مَا حَرَّمَ اللّٰهُ ؕ زُيِّنَ لَهُمْ سُوْٓءُ اَعْمَالِهِمْ ؕ وَ اللّٰهُ لَا

ع ۱۱ يَهْدِى الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ۝۳۷

مهينن جو تعداد الله وٽ ٻارنهن مهينا آهي الله جي ڪتاب ۾، جنهن ڏينهن کان هُن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو آهي، انهن مان چار مهينا حرمت وارا آهن. اِهو ئي سڌو دين آهي. تنهن ڪري انهن ۾ توهان پنهنجي مٿان ظلم نہ ڪريو. ۽ مشرڪن سان سڀ گڏجي وڙهو جهڙي طرح هو توهان سان سڀ گڏجي وڙهن ٿا ۽ ڄاڻي ڇڏيو تہ الله متقين سان گڏ آهي. مهينن کي هٽائڻ ڪفر ۾ واڌارو ڪرڻ آهي. جنهن سان ڪفر ڪرڻ وارا گمراهيءَ ۾ پوندا آهن. هو ڪنهن سال حرام مهيني کي حلال ڪري وٺندا آهن ۽ ڪنهن سال اُن کي حرام ڪري ڇڏيندا آهن تہ جيئن خدا جي حرام ڪيل جي ڳڻپ پوري ڪري اُن جي حرام ڪيل کي حلال ڪري وٺن. سندن ٻڇڙا عمل انهن لاءِ خوش نما ڪري ڏيکاريا ويا آهن ۽ الله انڪار ڪرڻ وارن کي هدايت نہ ڪندو آهي. ٣٦-٣٧

---

دين جي حڪمن تي هر ماڻهو الڳ الڳ عمل ڪري سگهي ٿو. پر الله تعاليٰ کي اِهو گهربل آهي تہ سڀ اهل ايمان گڏجي انهن تي عمل ڪن تہ جيئن انهن ۾ اجتماعيت پيدا ٿئي. هِن اجتماعيت جي مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ عبادت جي ادائگي جي لاءِ خاص وقت ۽ تاريخون مقرر ڪيون ويون آهن. اِهي تاريخون جيڪڏهن شمسي ڪئلينڊر جي لحاظ کان رکيون وڃن تہ انهن جي زماني ۾ يڪسانيت اچي ويندي. مثال طور روزو هميشہ هڪ موسم ۾ اچي ها ۽ حج هميشہ هڪ موسم ۾. پر يڪسانيت ماڻهو جي اندر جمود پيدا ڪندي آهي ۽ تبديلي سان نئين عمل جي قوت بيدار ٿيندي آهي. اُن ڪري دين جي ڪمن جي اجتماعي نظام لاءِ چنڊ جو قدرتي ڪئلينڊر اختيار ڪيو ويو.

انهيءَ اصول جي ڪري حج جون تاريخون مختلف موسمن ۾ اينديون آهن، ڪڏهن سياري ۾ ۽ ڪڏهن اونهاري ۾ قديم زماني ۾ حج جو اجتماع زبردست تجارتي اهميت رکندو هو، مختلف موسمن ۾ حج جو اچڻ تجارتي لحاظ کان نقصان وارو هو. اهل عرب کي ديني مصلحتن جي مقابلي ۾ دنياوي مصلحتون وڌيڪ اهم نظر آيون. انهن چاهيو تہ اهڙي صورت اختيار ڪجي جو حج جي تاريخ هميشہ هڪ مناسب موسم ۾ اچي. اُن موقعي تي يهودين ۽ نصارن جو ڪبيسہ جو حساب انهن جي علم ۾ آيو. پنهنجن خواهشن جي عين مطابق هجڻ جي ڪري اُهو انهن کي پسند اچي ويو ۽ انهن اُن کي پاڻ وٽ جاري ڪري ورتو، يعني مهينن کي هٽائي هڪ جي جاءِ تي ٻئي کي رکي ڇڏڻ مثلاً محرم کي صفر ڪري ڇڏڻ ۽ صفر کي محرم.

ردو بدل جي هن طريقي سان اهل عرب کي ٻہ فائدا ٿيا. هڪ اِهو تہ حج جي موسم کي تجارتي تقاضن موجب ڪري وٺڻ، ٻيو اهو تہ حرام مهينن جي خلاف لڙائي ڪرڻي هجي تہ حرام مهيني جي جاءِ تي غير حرام مهينو رکي لڙائي کي جائز ڪري وٺڻ. اهل عرب جي سامهون حضرت ابراهيمؑ جو طريقو بہ هو. پر چاڪاڻ تہ انهن جي ذهن تي تجارت ۽ مقصد ۽ قبائلي تقاضن جو غلبو هو، ان ڪري انهن کي ردوبدل وارو طريقو وڌيڪ بهتر لڳو ۽ انهن پنهنجن معاملن جي لاءِ ان کي اختيار ڪري ورتو.

”توهان بہ ملي وڙهو جهڙي طرح هو ملي وڙهندا آهن.“ ان جو مطلب اِهو آهي تہ ڪافر ماڻهو خدا سان بي خوفيءَ تي متحد ٿي ويندا آهن، توهان خدا جي خوف (تقويٰ) تي متحد ٿي وڃو. اُهي منفي مقصدن جي لاءِ پاڻ ۾ جڙي ويندا آهن، توهان مثبت مقصد جي لاءِ پاڻ ۾ جڙي وڃو. هو دنيا جي خاطر هڪ ٿي ويندا آهن، توهان آخرت جي لاءِ هڪ ٿي وڃو.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَا لَكُمْ اِذَا قِيْلَ لَكُمُ انْفِرُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اثَّاقَلْتُمْ اِلَى الْاَرْضِ ؕ
اَرَضِيْتُمْ بِالْحَيٰوةِ الدُّنْيَا مِنَ الْاٰخِرَةِ ۚ فَمَا مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا فِي الْاٰخِرَةِ اِلَّا
قَلِيْلٌ ﴿٣٨﴾ اِلَّا تَنْفِرُوْا يُعَذِّبْكُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ۙ۬ وَّ يَسْتَبْدِلْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ وَ لَا تَضُرُّوْهُ
شَيْـًٔا ؕ وَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٣٩﴾ اِلَّا تَنْصُرُوْهُ فَقَدْ نَصَرَهُ اللّٰهُ اِذْ اَخْرَجَهُ الَّذِيْنَ
كَفَرُوْا ثَانِيَ اثْنَيْنِ اِذْ هُمَا فِي الْغَارِ اِذْ يَقُوْلُ لِصَاحِبِهٖ لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا ۚ فَاَنْزَلَ
اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلَيْهِ وَ اَيَّدَهٗ بِجُنُوْدٍ لَّمْ تَرَوْهَا وَ جَعَلَ كَلِمَةَ الَّذِيْنَ كَفَرُوا السُّفْلٰى ؕ وَ
كَلِمَةُ اللّٰهِ هِيَ الْعُلْيَا ؕ وَ اللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٤٠﴾

اي ايمان وارؤ! توهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو جڏهن توهان کي چيو ويندو آهي تہ الله جي راهہ ۾ نڪرو تہ توهان زمين سان وڃي لڳو ٿا. ڇا توهان آخرت جي مقابلي ۾ دنيا جي زندگي تي راضي ٿي ويا آهيو. آخرت جي مقابلي ۾ دنيا جي زندگي جو سامان تہ تمام ٿورو آهي. جيڪڏهن توهان نہ نڪرندؤ تہ خدا توهان کي دردناڪ سزا ڏيندو ۽ توهان جي جاءِ تي ٻي قوم کي آڻيندو ۽ توهان خدا جو ڪجهہ بہ نہ بگاڙي سگهندؤ. ۽ خدا هر شيءِ تي قادر آهي. جيڪڏهن توهان رسول جي مدد نہ ڪندؤ تہ الله خود ان جي مدد ڪري چڪو آهي، جڏهن تہ ڪافرن ان کي ڪڍي ڇڏيو هو، هو صرف ٻن مان ٻيو هو، جڏهن اُهي ٻئي غار ۾ هئا. جڏهن هو پنهنجي ساٿي کي چئي رهيو هو تہ غم نہ ڪر، الله اسان سان گڏ آهي. پوءِ الله ان تي پنهنجي سڪينت نازل فرمائي ۽ ان جي مدد اهڙن لشڪرن سان ڪئي جن کي توهان نہ پيئي ڏٺو ۽ الله ڪافرن جي ڳالهہ کي هيٺانهون ڪري ڇڏيو ۽ الله جي ڳالهہ ئي مٿانهين آهي ۽ الله زبردست آهي حڪمت وارو آهي. ٣٨-٤٠

---

هي آيتون غزوه تبوڪ (٩هہ) جي وقت نازل ٿيون ان موقع تي مديني جي منافقن طرفان جنهن عمل جو مظاهرو ٿيو ان مان اندازو ٿيندو آهي تہ ڪمزور ايمان وارا ماڻهو جڏهن ڪنهن اسلامي معاشري ۾ داخل ٿيندا آهن تہ نازڪ موقعن تي انهن جو ڪردار ڪهڙو هوندو آهي.

اصل ڳالهہ اِها آهي تہ اسلام سان تعلق جا بہ درجا آهن. هڪ اِهو تہ اسلام سان ئي ماڻهو جون تمام وفاداريون وابستہ هجن. هُو ماڻهو جي لاءِ زندگي ۽ موت جو مسئلو بڻجي وڃي. ٻيو اِهو تہ ماڻهو جون حقيقي دلچسپيون تہ ٻئي ڪنهن هنڌ اٽڪيل هجن ۽ ظاهري طور تي هُو اسلام جو اقرار ڪري وٺي. پهرين قسم جا ماڻهو سچا مؤمن آهن ۽ ٻئي قسم جا ماڻهو اُهي آهن، جن کي شريعت ۾ منافق چيو ويندو آهي. مؤمن جو حال اِهو هوندو آهي تہ عام حالتن ۾ بہ هُو اسلام تي قائم رهندو آهي ۽ قرباني جي وقت ۾ بہ هُو پوري طرح ان تي قائم رهندو آهي. ان جي ابتڙ منافق جو حال اِهو هوندو آهي جو هُو نقصان ڪانسواءِ واري اسلام يا نمائشي دينداريءَ ۾ تہ گهڻو اڳيان ڏسڻ ۾ ايندو آهي، پر جڏهن قربانيءَ جي سطح تي اسلام جي تقاضن کي اختيار ڪرڻو پوي تہ هو پوئتي هٽي ويندو آهي.

ان فرق جو سبب اهو آهي تہ مؤمن جي سامهون اصل ۾ آخرت هوندي آهي ۽ منافق جي سامهون اصل ۾ دنيا. مؤمن آخرت جي اڻ ڪُٽ نعمتن جي مقابلي ۾ دنيا جي ڪا قيمت نہ ٿو سمجهي، ان ڪري

جڏهن بہ دنيا جي شين مان ڪا شيءِ ان جي رستي ۾ رڪاوٽ وجهي ٿي تہ هو ان کي نظر انداز ڪري دين ڏانهن وڌي ويندو آهي. ان جي ابتڙ منافق اهڙي اسلام کي پسند ڪندو آهي، جنهن ۾ دنياوي نقصان جي بغير اسلام جو فائدو ملي رهيو هجي. ان ڪري جڏهن اِهڙو موقعو ايندو آهي جو دنيا کي وڃائي اسلام کي حاصل ڪرڻو هجي تہ هُو دنيا ڏانهن جهڪي ويندو آهي، چاهي ان جي نتيجي ۾ اسلام ان جي هٿ مان نڪري وڃي.

اسلام ۽ غير اسلام جي ڪشمڪش جا جيڪي لمحا موجوده دنيا ۾ ايندا اُهي بظاهر ڏسڻ وارن کي جيتوڻيڪ ٻن انساني گروهن جي ڪشمڪش ڏسجي ٿي، پر حقيقت جي لحاظ کان اِهو هڪ خدائي معاملو هوندو آهي. اِهڙي هر موقعي تي خدا خود اسلام سان گڏ بيهندو آهي. اِهڙي ڪنهن واقعي کي اسباب جي روپ ۾ ان ڪري ظاهر ڪيو ويندو آهي تہ جيئن انهن ماڻهن کي دين جي خدمت جو فائدو ڏنو وڃي جيڪي پنهنجي پاڻ کي پوري طرح خدا جي حوالي ڪري چڪا آهن.

اِنْفِرُوْا خِفَافًا وَّ ثِقَالًا وَّ جَاهِدُوْا بِاَمْوَالِكُمْ وَ اَنْفُسِكُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ
لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۴۱﴾ لَوْ كَانَ عَرَضًا قَرِيْبًا وَّ سَفَرًا قَاصِدًا لَّاتَّبَعُوْكَ وَ لٰكِنْۢ
بَعُدَتْ عَلَيْهِمُ الشُّقَّةُ ؕ وَ سَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ لَوِ اسْتَطَعْنَا لَخَرَجْنَا مَعَكُمْ ۚ يُهْلِكُوْنَ
ع ۶ ۱۲ اَنْفُسَهُمْ ۚ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿۴۲﴾

هلڪا يا ڳرا ۽ پنهنجي مال پنهنجي جان سان الله جي راهہ ۾ جهاد ڪريو، اِهو توهان جي لاءِ بهتر آهي جيڪڏهن توهان سمجهو. جيڪڏهن فائدو ويجهو هجي ها ۽ سفر هلڪو هجي ها تہ هُو ضرور توهان جي پٺيان هليا اچن ها، پر اِها منزل انهن تي ڏُکي ٿي وئي. هاڻي هو قسم کڻندا تہ جيڪڏهن اسان کان ٿي سگهي ها تہ اسان ضرور توهان سان نڪرون ها. اُهي پنهنجي پاڻ کي هلاڪت ۾ وجهي رهيا آهن ۽ الله ڄاڻي ٿو تہ اهي ماڻهو يقينًا ڪوڙا آهن. ۴۱-۴۲

---

مديني جي منافقن ۾ هڪ طبقو اُهو هو جيڪي ڪمزور عقيدي وارا مسلمان هئا. انهن اسلام کي حق سمجهي ان جو اقرار ڪيو هو. اُهي اسلام جي اُن تعليم تي عمل ڪندا هئا جيڪا انهن جي دنياوي مصلحتن جي خلاف نہ هجي. پر جڏهن اسلام جا تقاضا انهن جي دنياوي تقاضن سان ٽڪرائيندا هئا تہ اهڙن موقعن تي هو اسلامي تقاضا کي ڇڏي پنهنجي دنياوي تقاضي کي جهلي وٺندا هئا. مديني جي معاشري ۾ مؤمن ان ماڻهو جو نالو هو جيڪو قرباني جي سطح تي اسلام کي اختيار ڪيل هجي ۽ منافق اُهو هو جيڪو اسلام جي خاطر قرباني جي حد تائين وڃڻ جي لاءِ تيار نہ ٿئي.

تبوڪ جو معاملو هڪ علامتي تصوير آهي جنهن مان معلوم ٿيندو آهي تہ خدا جي نظر ۾ مؤمن ڪير آهي ۽ منافق ڪير. اُن موقعي تي روم جهڙي وڏي ۽ منظم طاقت سان مقابلي جي لاءِ نڪرڻو هو. سخت گرمي جو زمانو هو. فصل بلڪل لاباري لاءِ تيار هئا. هر قسم جي ناسازگار حالتن جو مقابلو ڪندي، شام جي سرحد تي پهچڻو هو. پوءِ مسلمانن ۾ ڪجهہ سامان وارا هئا ۽ ڪجهہ بي

سامان هئا. ڪجهه آزاد هئا ۽ ڪجهه پنهنجن مسئلن ۾ ڦاٿل هئا. پر حڪم ٿيو ته هر حال ۾ نڪرو. ڪنهن به شيءِ ڪي پنهنجي لاءِ عذر نه بڻايو. اُن جو سبب اِهو هوندو آهي جو خدا وٽ اصل مسئلو مقدار جو نه هوندو آهي، بلڪ اِهو هوندو آهي ته ماڻهو وٽ جيڪو ڪجهه به آهي، هو اُن ڪي پيش ڪري ڇڏي. اِها ئي اصل ۾ جنت جي قيمت آهي، چاهي اُها ظاهر ۾ ڏسڻ وارن جي نظر ۾ ڪيتري ئي گهٽ ڇو نه هجي.

منافق جي خاص سڃاڻپ هِي آهي ته جيڪڏهن هو ڏسي ٿو ته آسان سفر ڪري اسلام جي خدمت جو وڏو تمغو ملي رهيو هجي ته هو يڪدم اهڙي سفر جي لاءِ تيار ٿي ويندو. اُن جي ابتڙ جيڪڏهن اهڙو سفر هجي جنهن ۾ مشڪلاتون هجن ۽ سڀ ڪجهه ڪري به بظاهر ڪا عزت ۽ ڪاميابي ملڻ واري نه هجي ته اهڙي دين جي مهم جي لاءِ اُن جي اندر دلچسپي پيدا نه ٿيندي آهي.

هڪ حقيقي ديني مهم سامهون هجي ۽ ماڻهو عذر پيش ڪري اُن کان الڳ ٿيڻ چاهي، ته اِهو صاف طور تي اُن ڳالهه جو ثبوت آهي ته ماڻهو خدا جي دين ڪي پنهنجي زندگي ۾ سڀني کان اُوچو مقام نه ڏنو آهي. عزت پيش ڪرڻ جو مطلب اِهوئي آهي ته درپيش مقصد جي مقابلي ۾ ڪا ٻي شيءِ ماڻهوءَ جي نظر ۾ وڌيڪ اهميت رکي ٿي. ظاهر آهي ته اهڙو عذر ڪنهن ماڻهو ڪي خدا جي نظر ۾ ٻي اعتبار ثابت ڪرڻ وارو آهي نه وري ان جي ڪري هُن ڪي مقبول ٻانهن جي فهرست ۾ شامل ڪيو وڃي. منافقت اصل ۾ خدا کان ٻي پرواهه ٿي ڪري انسانن جي پرواهه ڪرڻ آهي. ماڻهو جيڪڏهن خدا جي قدرت ڪي ڄاڻي وٺي ته هُو ايئن ڪڏهن به نه ڪري.

عَفَا اللّٰهُ عَنْكَ ۚ لِمَ اَذِنْتَ لَهُمْ حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكَ الَّذِيْنَ صَدَقُوْا وَ تَعْلَمَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿۴۳﴾ لَا
يَسْتَاْذِنُكَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ اَنْ يُّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَ اَنْفُسِهِمْ ؕ
وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالْمُتَّقِيْنَ ﴿۴۴﴾ اِنَّمَا يَسْتَاْذِنُكَ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَ
ارْتَابَتْ قُلُوْبُهُمْ فَهُمْ فِيْ رَيْبِهِمْ يَتَرَدَّدُوْنَ ﴿۴۵﴾ وَ لَوْ اَرَادُوا الْخُرُوْجَ لَاَعَدُّوْا لَهٗ عُدَّةً وَّ
لٰكِنْ كَرِهَ اللّٰهُ انْۢبِعَاثَهُمْ فَثَبَّطَهُمْ وَ قِيْلَ اقْعُدُوْا مَعَ الْقٰعِدِيْنَ ﴿۴۶﴾

الله توکي معاف ڪري، تو ڇو انهن ڪي اجازت ڏئي ڇڏي. جيستائين توتي کلي وڃي ها ته ڪهڙا ماڻهو سچا آهن ۽ ڪوڙن ڪي به تون ڄاڻي وٺين ها. جيڪي ماڻهو الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکن ٿا هُو ڪڏهن به توکان اِها درخواست نه ڪندا ته هو پنهنجي مال ۽ پنهنجي جان سان جهاد نه ڪن ۽ الله ڊڄڻ وارن ڪي خوب ڄاڻي ٿو. توهان کان اجازت ته اُهي ئي ماڻهو گهرندا آهن جيڪي الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان نه ٿا رکن ۽ سندن دليون شڪ ۾ پيل آهن. تنهن ڪري اُهي پنهنجي شڪ ۾ ڀٽڪي رهيا آهن. ۽ جيڪڏهن اُهي نڪرڻ چاهين ها ته ضرور هو ان جو ڪجهه سامان ڪري وٺن ها. پر الله سندن هلڻ ئي پسند نه ڪيو، ان ڪري انهن ڪي روڪي ڇڏيو ۽ چيو ويو ته اوهين به ويٺلن سان گڏ ويهي رهو. ۴۳-۴۶

---

منافق اُهو آهي جيڪو اسلام جي فائدي واري وقت اڳيان اڳيان رهي، پر جڏهن ان جي مفاد تي چوٽ پوندي نظر اچي ته هو پوئتي هٽي وڃي. اِهڙن موقعن تي هِن قسم جا ڪمزور ماڻهو جنهن شيءِ

جو سهارو وٺندا آهن، اِهو عذر آهي. هو پنهنجي بي عملي کي خوبصورت سببن ۾ لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. مسلمانن جو سربراهه جيڪڏهن اجتماعي مصلحتن جي ڪري انهن جو عذر قبول ڪري وٺي ته هو خوش ٿي ويندا آهن ته انهن پنهنجي لفظن جي پردي ۾ نهايت ڪاميابي سان پنهنجي بي عملي کي لڪائي ورتو، پر هو وساري ٿا ڇڏين ته اصل معاملو انسان سان نه بلڪ خدا سان آهي. ۽ هُو هر ماڻهو جي حقيقت کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو. خدا اهڙن ماڻهن جو راز ڪڏهن دنيا ۾ کولي ڇڏي ٿو ۽ آخرت ۾ ته هر حال ۾ هر هڪ جو راز کلي وڃڻ وارو آهي.

ڪنهن جو پٽ بيمار هجي ۽ ڪنهن جي ڇوڪري جي شادي هجي ته ان وقت هُو پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي مال کي ان کان بچائي نه ٿو رکي. ان جي زندگي ۽ ان جو مال ته هِن ئي لاءِ هو ته اهڙو ڪو موقعو اچي ته هو پنهنجو سڀ ڪجهه نثار ڪري انهن جي ڪم اچي سگهي. اِهڙو وقت ان جي لاءِ اڳيان وڌي قرباني ڏيڻ جو هوندو آهي نه وري عذر پيش ڪرڻ جو. اهوئي معاملو دين جو به آهي. جيڪو ماڻهو پنهنجي دين ۾ سنجيده هوندو ته هو دين جي لاءِ قرباني جو موقعو اچڻ تي ڪڏهن به عذر تلاش نه ڪندو. ان جي سيني ۾ جيڪي ايماني جذبا بيقرار هئا، اُهي ته ڄڻ ان ئي ڏينهن جي انتظار ۾ هئا ته جڏهن ڪو موقعو اچي ته هو پنهنجي پاڻ کي نثار ڪري خدا جي نظر ۾ پاڻ کي وفادار ثابت ڪري سگهي. پوءِ اهڙو موقعو پيش اچڻ تي هو عذر جو سهارو ڇو ڳوليندو.

مؤمن خدا کان ڊڄڻ وارو هوندو آهي ۽ ڊڄڻ جو جذبو ماڻهوءَ جي اندر سيني کان وڌيڪ طاقتور جذبو آهي. ڊپ جو جذبو ٻين سيني جذبن تي غالب اچي ويندو آهي. جنهن شيءِ سان ماڻهو کي ڊپ ۽ انديشي جو تعلق هجي، ان جي باري ۾ هو آخري حد تائين سنجيده ۽ حقيقت پسند بڻجي ويندو آهي. اِهوئي سبب آهي ته جڏهن ڪو ماڻهو ڊپ جي سطح تي خدا جو مؤمن بڻجي وڃي ته ان کي اهو سمجهڻ ۾ دير نه ٿي لڳي ته ڪهڙي موقعي تي هن کي ڪهڙي قسم جو رد عمل پيش ڪرڻو آهي.

آخرت جو نفعو سامهون نه هجڻ جي ڪري ماڻهو ان جي لاءِ قرباني ڏيڻ ۾ شڪ ۾ پئجي ويندو آهي، پر هِن شڪ جي پردي کي ڦاڙڻ ئي هن دنيا ۾ ماڻهو جو اصل امتحان آهي.

لَوْ خَرَجُوْا فِيْكُمْ مَّا زَادُوْكُمْ اِلَّا خَبَالًا وَّ لَاۡاَوْضَعُوْا خِلٰلَكُمْ يَبْغُوْنَكُمُ الْفِتْنَةَ ۚ وَ فِيْكُمْ سَمّٰعُوْنَ لَهُمْ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿۴۷﴾ لَقَدِ ابْتَغَوُا الْفِتْنَةَ مِنْ قَبْلُ وَ قَلَّبُوْا لَكَ الْاُمُوْرَ حَتّٰى جَآءَ الْحَقُّ وَ ظَهَرَ اَمْرُ اللّٰهِ وَ هُمْ كٰرِهُوْنَ ﴿۴۸﴾

جيڪڏهن اِهي ماڻهو توهان سان نڪرن ها ته هو توهان جي لاءِ خرابيءَ جي واڌاري جو سبب بڻجن ها ۽ هو توهان ۾ فتنو پيدا ڪرڻ لاءِ ڊُڪ ڊوڙ ڪن ها ۽ توهان ۾ انهن کي ٻڌڻ وارا آهن ۽ الله ظالمن کان خوب واقف آهي. هي اُن کان اڳ به فتني جي ڪوشش ڪري چڪا آهن ۽ هو تو لاءِ فساد جي فڪر ۾ هئا، تان جو حق اچي ويو ۽ الله جو حڪم ظاهر ٿي ويو ۽ اُهي ناخوش ئي رهيا. ۴۷-۴۸

---

دين کي اختيار ڪرڻ هڪ مخلصاڻو هوندو آهي ۽ ٻيو منافقاڻو. اخلاص سان دين کي اختيار ڪرڻ اِهو آهي ته دين جي مسئلي کي ماڻهو پنهنجي زندگي جو مسئلو بڻائي، پنهنجي زندگي ۽ پنهنجي

مال تي هو سيني کان وڌيڪ دين جو حق سمجهي اُن جي ابتڙ منافقاڻي طور تي دين کي اختيار ڪرڻ اهو آهي ته دين سان رڳو رسمي ۽ ظاهري تعلق رکيو وڃي. دين کي ماڻهو پنهنجي زندگي ۾ اِهو مقام نه ڏي ته اُن جي لاءِ هو وقف ٿي وڃي ۽ هر قسم جي نقصان جو خطرو کڻي اُن جي راهه ۾ اڳيان وڌي.

پنهنجي غلطي کي مڃڻ، پاڻ کي ٻين جي مقابلي ۾ گهٽ تسليم ڪرڻ هوندو آهي ۽ هن قسم جو اعتراف ڪنهن ماڻهو جي لاءِ مشڪل ترين ڪم آهي. اِهوئي سبب آهي جو ماڻهو هميشه هن ڪوشش ۾ رهندو آهي ته ڪنهن نه ڪنهن طرح پنهنجي موقف کي صحيح ثابت ڪري ڇڏي. تنهن ڪري منافقاڻي طور تي اسلام کي اختيار ڪرڻ وارا هميشه اُن تلاش ۾ رهندا آهن ته ڪو موقعو ملي ته مخلص مؤمنن کي خوار ۽ بدنام ڪن ۽ اُن جي مقابلي ۾ پاڻ کي زياده صحيح ثابت ڪري سگهن.

مديني جا منافق مسلسل هن ڪوشش ۾ رهندا هئا. مثلاً غزوه اُحد ۾ مسلمانن کي شڪست ٿي ته مديني ۾ ويهي رهڻ وارن منافقن رسول اللهﷺ جي خلاف اِها پروپيگنڊا شروع ڪري ڇڏي ته انهنﷺ کي جنگي معاملن جو تجربو نه آهي. انهن جوش ۾ اچي قدم کنيو ۽ اسان جي قوم جي جوانن کي غلط مقام تي وٺي وڃي خوامخواه مارائي ڇڏيو.

انسانن ۾ گهٽ ماڻهو اهڙا هوندا آهن جيڪي مسئلن جو گهرو تجزيو ڪري سگهن ۽ اُن حقيقت کي سمجهن ته ڪنهن ڳالهه، جو زبان جي لحاظ کان صحيح هجڻ اُن ڳالهه جو ثبوت نه آهي ته اُها معنىٰ جي لحاظ کان به صحيح هوندي. اڪثر ماڻهو سادي فڪر وارا هوندا آهن ۽ ڪا ڳالهه خوبصورت لفظن ۾ ڪئي وڃي ته اُن کان متاثر ٿي ويندا آهن اُن ڪري ڪنهن مسلم گروهه ۾ منافق قسم جي ماڻهن جي موجودگي هميشه اُن گروهه جي ڪمزوري جو سبب هوندي آهي. اُهي ماڻهو پاڻ کي صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ اڪثر ايئن ڪندا آهن جو ڳالهين کي غلط رخ ڏئي ايئن بيان ڪندا آهن جو انهن جو مقصد پورو ٿئي. اُن سان سادي فڪر جا ماڻهو متاثر ٿي ويندا آهن ۽ انهن جي اندر شڪ ۽ بي يقيني جي ڪيفيت پيدا ٿيڻ لڳندي آهي.

منافقن جي مخالفاڻين ڪوشش جي باوجود، جڏهن بدر واري فتح ٿي ته عبدالله بن اُبي ۽ هُن جي ساٿين چيو: اِنَّ هٰذا اَمْرٌ قَدْ تَوَجه" يعني اِها شيءِ ته هاڻي هلي پئي. اسلام جو غلبو ظاهر ٿيڻ کان پوءِ انهن کي اسلام جي صداقت تي يقين ڪرڻ کپي ها، پر اُن وقت به انهن اُن مان حسد جي غذا ورتي.

وَ مِنۡهُمۡ مَّنۡ یَّقُوۡلُ ائۡذَنۡ لِّیۡ وَ لَا تَفۡتِنِّیۡ ؕ اَلَا فِی الۡفِتۡنَۃِ سَقَطُوۡا ؕ وَ اِنَّ جَہَنَّمَ لَمُحِیۡطَۃٌۢ
بِالۡکٰفِرِیۡنَ ﴿۴۹﴾ اِنۡ تُصِبۡکَ حَسَنَۃٌ تَسُؤۡہُمۡ ۚ وَ اِنۡ تُصِبۡکَ مُصِیۡبَۃٌ یَّقُوۡلُوۡا قَدۡ اَخَذۡنَاۤ
اَمۡرَنَا مِنۡ قَبۡلُ وَ یَتَوَلَّوۡا وَّ ہُمۡ فَرِحُوۡنَ ﴿۵۰﴾ قُلۡ لَّنۡ یُّصِیۡبَنَاۤ اِلَّا مَا کَتَبَ اللّٰہُ لَنَا ۚ ہُوَ
مَوۡلٰىنَا ۚ وَ عَلَی اللّٰہِ فَلۡیَتَوَکَّلِ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۵۱﴾ قُلۡ ہَلۡ تَرَبَّصُوۡنَ بِنَاۤ اِلَّاۤ اِحۡدَی
الۡحُسۡنَیَیۡنِ ؕ وَ نَحۡنُ نَتَرَبَّصُ بِکُمۡ اَنۡ یُّصِیۡبَکُمُ اللّٰہُ بِعَذَابٍ مِّنۡ عِنۡدِہٖۤ اَوۡ بِاَیۡدِیۡنَا ۫ۖ
فَتَرَبَّصُوۡۤا اِنَّا مَعَکُمۡ مُّتَرَبِّصُوۡنَ ﴿۵۲﴾

۽ انهن مان ڪو اهڙو بہ آهي جيڪو چوي ٿو تہ مون کي اجازت ڏي ۽ مون کي فتني ۾ نہ وجھ. ٻڌي ڇڏيو، اهي فتني ۾ پئجي چڪا آهن. ۽ بيشڪ جھنم منڪرن کي گهيري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن توکي ڀلائي پهچندي آهي تہ انهن کي ڏک ٿيندو آهي ۽ جيڪڏهن توکي ڪا مصيبت پهچي ٿي تہ چوندا آهن تہ اسان تہ اڳ ۾ ئي پنهنجو بچاءُ ڪري ورتو هو ۽ خوش ٿي موٽن ٿا. چئو اسان کي رڳو اُهائي شيءِ پهچندي جيڪا الله اسان جي لاءِ لکي ڇڏي آهي. هو اسان جو ڪارساز آهي ۽ اهل ايمان کي الله تي ئي ڀروسو ڪرڻ گهرجي. چئو توهان اسان لاءِ ٻن ڀلاين مان ڪنهن هڪ ڀلائي جي انتظار ۾ آهيو. ۽ اسان توهان جي حق ۾ تہ انهي انتظار ۾ آهيون تہ الله توهان تي پنهنجي طرفان عذاب موڪلي يا اسان جي هٿان. تنهن ڪري توهان انتظار ڪريو. اسان بہ توهان سان گڏ انتظار ڪرڻ وارن مان آهيون. ۴۹-۵۲

---

مديني ۾ هڪ ماڻهو جُد بن قيس هو. تبوڪ جي غزوه ۾ نڪرڻ جو عام اعلانِ ٿيو تہ هُن رسول اللهﷺ وٽ اچي چيو تہ مون کي هِن غزوه کان معاف ڪريو. اِهو رومي علائقو آهي. اُتي رومي عورتن کي ڏسي آئون فتني ۾ پئجي ويندس. پر اهڙي موقعي تي عذر پيش ڪرڻ خود فتني ۾ پوڻ آهي. ڇاڪاڻ تہ نازڪ موقعن تي ماڻهو جي اندر دين جي خاطر فدا ٿي وڃڻ جو جذبو پيدا ٿيڻ کپي نہ وري عذر تلاش ڪري پوئتي هٽي وڃڻ جو. پوءِ اهڙي ڪنهن عذر کي ديني ۽ اخلاقي رنگ ڏيڻ اڃا بہ وڌيڪ بُرو آهي، ڇاڪاڻ تہ اِهو بي عملي تي دوکي جو اضافو آهي.

اهڙي قسم جو مزاج حقيقت ۾ ماڻهو جي اندر ان ڪري پيدا ٿيندو آهي جو هُو پنهنجي دنيا کي آخرت جي مقابلي ۾ وڌيڪ عزيز رکندو آهي. خطرن جي موقعن تي اهڙا ماڻهو دين جي راهہ ۾ اڳيان وڌڻ کان رُڪجي ويندا آهن، پوءِ ڪڏهن سچي حق پرستن کي انهن جي غير مصلحت ديناري جي ڪري ڪڏهن ڪو نقصان پهچندو آهي تہ اِهي ماڻهو خوش ٿيندا آهن تہ سٺو ٿيو جو اسان پنهنجي حفاظت لاءِ مصلحت کان ڪم ورتو. ان جي ابتڙ جيڪڏهن ايئن ٿئي جو سچا حق پرست خطرن جو مقابلو ڪن ۽ انهن کي ڪاميابي ملي تہ هنن ماڻهن جون دليون تنگ ٿي وينديون آهن، ڇاڪاڻ تہ اهڙو واقعو ثابت ڪندو آهي تہ هُنن جيڪا پاليسي اختيار ڪئي هئي اُها درست نہ هئي.

سچي اهل ايمان جي لاءِ هِن دنيا ۾ ناڪاميءَ جو سوال ئي نہ آهي. انهن جي ڪاميابي اِها آهي تہ خدا انهن کان راضي ٿئي ۽ اِهو هر حال ۾ انهن کي حاصل ٿيندو آهي. مؤمن تي جيڪڏهن ڪا مصيبت ايندي آهي تہ اها اُن جي دل جي رجوع کي خدا ڏانهن وڌائيندي آهي. جيڪڏهن ان کي ڪو سک ملندو آهي تہ ان جي اندر احسان مندي جو جذبو پيدا ٿيندو آهي ۽ هو شڪر ڪري خدا جي وڌيڪ نعمتن جو مستحق بڻجي ويندو آهي.

”توهان انتظار ڪريو، اسان بہ انتظار ڪري رهيا آهيون“ اهو بظاهر مؤمنن جو ڪلمو آهي . پر حقيقت ۾ اِهو خدا جي طرفان آهي. خدا انهن ماڻهن کي تنبيھ جي انداز ۾ چئي رهيو آهي تہ توهان ماڻهو اهل حق جي بربادي جي انتظار ۾ آهيو. خدا جي تقدير جي نظام مطابق انهن کي هميشہ جي ڪاميابي ملڻ واري آهي ۽ توهان سان جيڪو ٿيڻو آهي اُهو اِهو آهي تہ توهان جي جرم کي آخري حد تائين ثابت ڪري توهان کي هميشہ جي لاءِ رسوائي ۽ عذاب جي حوالي ڪيو ويندو.

قُلْ اَنْفِقُوْا طَوْعًا اَوْ كَرْهًا لَّنْ يُّتَقَبَّلَ مِنْكُمْ ؕ اِنَّكُمْ كُنْتُمْ قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿٥٣﴾ وَ مَا
مَنَعَهُمْ اَنْ تُقْبَلَ مِنْهُمْ نَفَقٰتُهُمْ اِلَّآ اَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَ بِرَسُوْلِهٖ وَ لَا يَاْتُوْنَ الصَّلٰوةَ
اِلَّا وَ هُمْ كُسَالٰى وَ لَا يُنْفِقُوْنَ اِلَّا وَ هُمْ كٰرِهُوْنَ ﴿٥٤﴾ فَلَا تُعْجِبْكَ اَمْوَالُهُمْ وَ لَآ
اَوْلَادُهُمْ ؕ اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ بِهَا فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَ تَزْهَقَ اَنْفُسُهُمْ وَ هُمْ
كٰفِرُوْنَ ﴿٥٥﴾ وَ يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ اِنَّهُمْ لَمِنْكُمْ ؕ وَ مَا هُمْ مِّنْكُمْ وَ لٰكِنَّهُمْ قَوْمٌ يَّفْرَقُوْنَ ﴿٥٦﴾
لَوْ يَجِدُوْنَ مَلْجَاً اَوْ مَغٰرٰتٍ اَوْ مُدَّخَلًا لَّوَلَّوْا اِلَيْهِ وَ هُمْ يَجْمَحُوْنَ ﴿٥٧﴾

چؤ توهان خوشي سان خرچ ڪريو يا نا خوشي سان، توهان کان هرگز قبول نہ ڪيو ويندو. بيشڪ توهان نافرمان ماڻهو آهيو ۽ هو پنهنجي خرچ جي قبوليت کان رڳو ان ڪري محروم ٿيا تہ انهن الله ۽ ان جي رسول جو انڪار ڪيو ۽ اِهي ماڻهو نماز جي لاءِ ايندا آهن تہ سستي سان ايندا آهن ۽ خرچ ڪندا آهن تہ رنج سان. تون سندن مال ۽ اولاد کي ڪابہ اهميت نہ ڏي، الله تہ اِهو چاهي ٿو تہ انهن جي ذريعي سندن دنيا جي زندگي ۾ عذاب ڏي ۽ انهن جو ساهہ ان حالت ۾ نڪري جو هُو ڪافر هجن. هُو خدا جو قسم کڻي چوندا آهن تہ اُهي توهان مان آهن. حالانڪ هُو توهان مان نہ آهن. بلڪ اُهي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي توهان کان ڊڄندا آهن. جيڪڏهن ڪين ڪا پناهہ جي جاءِ ملي يا ڪا غار يا لِڪي وڃڻ جو هنڌ تہ هو ڀڄي ان ۾ وڃي لِڪن. ٥٣-٥٧

---

مديني ۾ اِها صورتحال پيش آئي تہ ماڻهن اسلام قبول ڪري ورتو. انهن مان اڪثريت مخلص اهل ايمان وارن جي هئي. جڏهن تہ ڪجهہ تعداد انهن جو هو جن وقت جي ماحول جو ساٿ ڏيڻ جي لاءِ جيتوڻيڪ اسلام قبول ڪري ورتو هو، پر انهن جي اندر اُها سپردگي پيدا نہ ٿي هئي، جيڪا حقيقي ايمان ۽ الله سان سچي تعلق جو تقاضو آهي. اِهي ئي اُهي ماڻهو آهن جن کي منافق چيو ويندو آهي.

اِهي منافق گهڻو ڪري مديني جا مالدار ماڻهو هئا ۽ اِهوئي مال انهن جي نفاق جو اصل سبب هو. جنهن وٽ وڃائجي وڃڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هجي. اُهي آساني سان ان اسلام کي اختيار ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويندا آهن، جنهن ۾ پنهنجو سڀ ڪجهہ وڃائي ڇڏڻو پوي. پر جن ماڻهن وٽ گهڻو ڪجهہ هجي، اُهي اڪثر مصلحت انديشي ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن. هُو اسلام جي انهن حڪمن جي تعميل تہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح ڪري وٺندا آهن جن ۾ نقصان جو انديشو نہ هجي، پر اسلام جي جن تقاضن کي اختيار ڪرڻ ۾ جان ۽ مال جو نقصان نظر اچي رهيو هجي جنهن ۾ قرباني جي سطح تي مؤمن بڻجڻ جو سوال هجي، ان ڏانهن وڌڻ جي لاءِ هو پاڻ کي راضي نہ ٿا ڪري سگهن.

پر قرباني واري اسلام کان پوئتي رهڻ انهن جي ”نماز ۽ روزن“ کي بہ بي قيمت ڪري ڇڏيندو آهي. مسجد جي عبادت جو گهرو تعلق مسجد جي ٻاهر جي عبادت سان آهي. جيڪڏهن مسجد کان ٻاهر ماڻهو جي زندگي حقيقي دين کان خالي هجي تہ مسجد جي اندر بہ ان جي زندگي حقيقي دين کان خالي هوندي ۽ ظاهر آهي تہ بي روح عمل جي خدا وٽ ڪابہ قيمت نہ آهي. خدا سچي عمل کي قبول ڪندو آهي نہ وري ڪوڙي عمل کي.

ڪنهن ماڻهو وٽ دولت جون رونقون هجن ۽ ماڻهن جو ميڙ ان جي چؤ طرف ڏسڻ ۾ ايندو هجي ته عام ماڻهو ان ڪي حسرت جي نظر سان ڏسڻ لڳندا آهن. پر حقيقت اِها آهي ته اهڙا ماڻهو سيني ڪان وڌيڪ بدقسمت ماڻهو آهن. عام طور تي انهن جو حال اهو ٿيندو آهي جو سندن مال ۽ وڏائي انهن جي لاءِ اهڙيون رڪاوٽون بڻجي ويندديون آهن جو هُو خدا جي دين ڏانهن ڀرپور نموني نٽا وڌي سگهن. هو خدا ڪي وساري مال ۽ وڏائي ۾ مشغول رهن، ايستائين جو موت اچي وڃي ۽ بي رحمي سان انهن کي سندن مال ۽ وڏائي ڪان جدا ڪري ڇڏي.

وَ مِنۡهُمۡ مَّنۡ یَّلۡمِزُكَ فِی الصَّدَقٰتِ ۚ فَاِنۡ اُعۡطُوۡا مِنۡهَا رَضُوۡا وَ اِنۡ لَّمۡ یُعۡطَوۡا مِنۡهَاۤ اِذَا
هُمۡ یَسۡخَطُوۡنَ ﴿۵۸﴾ وَ لَوۡ اَنَّهُمۡ رَضُوۡا مَاۤ اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ وَ رَسُوۡلُهٗ ۙ وَ قَالُوۡا حَسۡبُنَا اللّٰهُ
ع ۱۳ سَیُؤۡتِیۡنَا اللّٰهُ مِنۡ فَضۡلِهٖ وَ رَسُوۡلُهٗۤ ۙ اِنَّاۤ اِلَی اللّٰهِ رٰغِبُوۡنَ ﴿۵۹﴾ اِنَّمَا الصَّدَقٰتُ لِلۡفُقَرَآءِ وَ
الۡمَسٰکِیۡنِ وَ الۡعٰمِلِیۡنَ عَلَیۡهَا وَ الۡمُؤَلَّفَةِ قُلُوۡبُهُمۡ وَ فِی الرِّقَابِ وَ الۡغٰرِمِیۡنَ وَ فِیۡ سَبِیۡلِ
اللّٰهِ وَ ابۡنِ السَّبِیۡلِ ؕ فَرِیۡضَةً مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِیۡمٌ حَکِیۡمٌ ﴿۶۰﴾

۽ انهن مان ڪي اهڙا بہ آهن جيڪي توتي صدقات بابت طعنو هڻندا آهن. جيڪڏهن ان مان انهن کي ڏنو وڃي ته راضي رهندا آهن ۽ جيڪڏهن نہ ڏنو وڃي ته ناراض ٿي ويندا آهن. ڪهڙو نہ چڱو ٿئي ها ته الله ۽ رسول جيڪو ڪجهه انهن کي ڏنو هو، ان تي هو راضي رهن ها ۽ چون ها ته الله اسان جي لاءِ ڪافي آهي. الله پنهنجي فضل سان اسان کي ڏيندو ۽ ان جو رسو ل بہ، اسان کي الله ئي گهرجي. صدقات (زڪوات) ته اصل ۾ فقيرن ۽ مسڪينن لاءِ آهن ۽ زڪوات وصول ڪندڙن لاءِ ۽ انهن جي لاءِ جن جي تاليف قلب مطلوب هجي ۽ گردنن آزاد ڪرائڻ لاءِ ۽ قرضدارن لاءِ ۽ الله جي راهه ۾ ۽ مسافرن جي مدد لاءِ. اهو حڪم الله جي طرفان آهي. ۽ الله علم وارو حڪمت وارو آهي. ۵۸-۶۰

---

هِتي زڪوات جو خرچ ڪرڻ ٻڌايو ويو آهي. اِهي خرچ ڪرڻ جون جايون قرآن جي مطابق اَٺ آهن:

فقراء: جنهن وٽ ڪجهه نہ هجي.

مسڪين: جن وٽ ضرورت مطابق نہ هجي.

عاملين: جيڪي اسلامي حڪومت طرفان صدقن جي وصولي ۽ ان جي حساب ڪتاب تي مقرر هجن.

مولفة القلوب: جن ڪي اسلام ڏانهن متوجه ڪرڻ مقصود هجي يا جيڪي اسلام ۾ ڪمزور هجن.

رقاب: غلامن ڪي آزاد ڪرائڻ جي لاءِ يا قيدين ڪي فديو ڏئي آزاد ڪرائڻ جي لاءِ.

غارمين: جيڪي قرضدار هجن يا جن تي ضمانت جو بار هجي.

سبيل الله: دين جي دعوت ۽ جهاد في سبيل الله جي لاءِ.

ابن السبيل: مسافر جيڪو سفر جي حالت ۾ ضرورتمند ٿي وڃي، چاهي پنهنجي گهر ۾ غني هجي.

اجتماعي انتظام جي تحت جڏهن زڪوات ۽ صدقن جي تقسيم ڪئي وڃي ته هميشه ايئن ٿيندو

آهي تہ ڪجھ ماڻهن جي حق تلفي يا غير منصفاڻي تقسيم جي شڪايت ٿي پوندي آهي. پر اهڙي شڪايت اڪثر خود شڪايت ڪرڻ واري جي ڪمزوري کي ظاهر ڪندي آهي. تقسيم ڪرڻ وارو چاهي ڪيتروئي پاڪ باز هجي، ماڻهن جي حرص ۽ انهن جي تنگ نظري بهرحال اهڙي قسم جون شڪايتون پيدا ڪري وٺنديون آهن.

وڏيڪ اِهو آهي تہ اهڙي قسم جي شڪايت سڀ کان وڏيڪ خود ماڻهو جي لاءِ نقصانڪار آهي. اِها ماڻهو جي سوچ ۽ فڪر کي ڪم ڪرڻ کان روڪي ڇڏيندي آهي. ماڻهو جيڪڏهن شڪايتي مزاج کي ڇڏي ايئن ڪري تہ جيڪو ڪجھ ان کي مليو آهي ان تي هو راضي ٿي وڃي ۽ پنهنجي سوچ جو رخ الله ڏانهن ڪري وٺي، تہ ان کان پوءِ ايئن ٿيندو جو ان جي اندر نئين همت پيدا ٿيندي، ان جي اندر لڪيل فطري صلاحيتون جاڳي پونديون. هو مليل رقم کي وڏيڪ فائدي مند جاءِ تي لڳائيندو. عطين تي آسرو ڪرڻ جي بجاءِ ان جي اندر پاڻ تي اعتماد ڪرڻ جو ذهن اڀرندو. هو خدا جي ڀروسي تي نوان اقتصادي موقعا تلاش ڪرڻ لڳندو. ٻين کان بيزاريءَ جي بجاءِ ٻين کي ساڻي ٻڌائي ڪم ڪرڻ جو جذبو ان جي اندر پيدا ٿيندو. وغيره.

وَ مِنۡهُمُ الَّذِيۡنَ يُؤۡذُوۡنَ النَّبِيَّ وَ يَقُوۡلُوۡنَ هُوَ اُذُنٌ ؕ قُلۡ اُذُنُ خَيۡرٍ لَّكُمۡ يُؤۡمِنُ بِاللّٰهِ وَ
يُؤۡمِنُ لِلۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَ رَحۡمَةٌ لِّلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مِنۡكُمۡ ؕ وَ الَّذِيۡنَ يُؤۡذُوۡنَ رَسُوۡلَ اللّٰهِ لَهُمۡ
عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿٦١﴾ يَحۡلِفُوۡنَ بِاللّٰهِ لَكُمۡ لِيُرۡضُوۡكُمۡ ۚ وَ اللّٰهُ وَ رَسُوۡلُهٗۤ اَحَقُّ اَنۡ يُّرۡضُوۡهُ اِنۡ
كَانُوۡا مُؤۡمِنِيۡنَ ﴿٦٢﴾ اَلَمۡ يَعۡلَمُوۡۤا اَنَّهٗ مَنۡ يُّحَادِدِ اللّٰهَ وَ رَسُوۡلَهٗ فَاَنَّ لَهٗ نَارَ جَهَنَّمَ خَالِدًا
فِيۡهَا ؕ ذٰلِكَ الۡخِزۡيُ الۡعَظِيۡمُ ﴿٦٣﴾

۽ انهن ۾ اُهي ماڻهو بہ آهن جيڪي نبيءَ کي ڏک ڏيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ اهو شخص تہ ٻڌندڙ آهي. چؤ تہ هو توهان جي ڀلائي جي لاءِ ٻڌندڙ آهي. هُو الله تي ايمان رکي ٿو ۽ ايمان وارن تي اعتماد ڪندو آهي ۽ هُو رحمت آهي انهن جي لاءِ جيڪي توهان مان ايمان وارا آهن. ۽ جيڪي ماڻهو الله جي رسول کي ڏک ڏيندا آهن، انهن جي لاءِ دردناڪ سزا آهي. هُو اوهان جي سامهون الله جا قسم کڻندا آهن تہ جيئن اوهان کي راضي ڪن. حالانڪ الله ۽ ان جو رسول وڏيڪ حقدار آهن جو هو انهن کي راضي ڪن، جيڪڏهن اُهي مؤمن آهن. ڇا انهن کي خبر نہ آهي تہ جيڪو الله ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪندو اُن جي لاءِ جهنم جي باھ آهي، جنهن ۾ هُو هميشہ رهندو. اِها تمام وڏي رسوائي آهي. ٦١-٦٣

---

مديني جا منافق پنهنجن ذاتي مجلسن ۾ اسلامي شخصيتن جو مذاق اڏائيندا هئا. پر جڏهن هو مسلمانن جي سامهون ايندا هئا تہ قسم کڻي يقين ڏياريندا هئا تہ هو اسلام جا وفادار آهن. ان جو سبب اِهو هو تہ مسلمان مديني ۾ طاقتور هئا. هو منافقن کي نقصان پهچائڻ واري حيثيت ۾ هئا. ان ڪري منافق مسلمانن کان ڊڄندا هئا.

اُن مان منافق جي ڪردار جو اصل پهلو سامهون ايندو آهي. منافق جي ديننداري انسان جي ڊپ کان هوندي آهي نہ وري خدا جي ڊپ کان. هو اهڙن موقعن تي اخلاق ۽ انصاف وارو ٻڌجي ويندو آهي

جتي ماڻهو جو دٻاءُ هجي يا عوام جي طرفان انديشو هجي. پر جتي اِهڙي قسم جو خطرو نه هجي ۽ رڳو خدا جو ڊپ ئي اُها شيءِ هجي جيڪا ماڻهن جي زبان کي بند ڪري ۽ ان جي هٿ ۽ پيرن کي روڪي ته اُتي هُو بلڪل ٻيو انسان بڻجي ويندو آهي. هاڻي هو هڪ اهڙو شخص هوندو آهي جنهن کي نه اخلاق سان ڪا دلچسپي هجي ۽ نه انصاف جو رويو اختيار ڪرڻ جي ڪا ضرورت.

جيڪي ماڻهو مصلحتن ۾ گرفتار هوندا آهن سي پنهنجن خدشن کان متاثر ٿي خدا جي دين جو ساٿ نٿا ڏئي سگهن. هو عام طور تي سماج جا صاحبِ حيثيت ماڻهو هوندا آهن. پنهنجي حيثيت باقي رکڻ جي لاءِ هُو انهن ماڻهن جي تصوير بگاڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهن جيڪي سچي اسلام کي کڻي اٿيا هجن. هو انهن جي خلاف ڪوڙي پروپيگنڊا جي مهم هلائيندا آهن، انهن کي طرح طرح سان بدنام ڪرڻ جون تدبيرون ڪندا آهن. انهن جي ڳالهين تي بي بنياد قسم جا اعتراض ڪندا آهن.

اهڙا ماڻهو وساري ٿا ڇڏين ته اِها بيحد سنگين ڳالهه آهي. اِها ايمان وارن جي مخالفت نه بلڪ خود خدا جي مخالفت آهي. اِهو خدا جو مد مقابل يا مخالف ڌر بڻجي بيهي رهڻو آهي. اهڙا ماڻهو جيڪڏهن پنهنجي معصوميت ثابت ڪرڻ جي بجاءِ پنهنجي غلطي جو اقرار ڪن ها ۽ گهٽ ۾ گهٽ دل سان اسلام جي داعين جا خير خواهه هجن ها ته شايد اُهي معافي جي قابل ٿين ها. پر ضد ۽ مخالفت جو طريقو اختيار ڪري انهن پاڻ کي خدا جي دشمنن جي فهرست ۾ شامل ڪري ورتو. هاڻي رسوائي ۽ عذاب ڪانسواءِ انهن جو ڪو ٺڪاڻو نه آهي.

الله جو ڊپ ماڻهو جي دل کي نرم ڪري ٿو، هُو ماڻهن جي بي بنياد ڳالهين کي به خاموشي سان ٻڌي وٺي ٿو، ايستائين جو نادان ماڻهو چوڻ لڳن ته هِي ته صفا سادا آهن، ڳالهين جي گهرائي کي سمجهن ئي نه ٿا.

يَحۡذَرُ الۡمُنٰفِقُوۡنَ اَنۡ تُنَزَّلَ عَلَيۡهِمۡ سُوۡرَةٌ تُنَبِّئُهُمۡ بِمَا فِيۡ قُلُوۡبِهِمۡ ؕ قُلِ اسۡتَهۡزِءُوۡا ۚ اِنَّ اللّٰهَ مُخۡرِجٌ مَّا تَحۡذَرُوۡنَ ﴿٦٤﴾ وَلَئِنۡ سَاَلۡتَهُمۡ لَيَقُوۡلُنَّ اِنَّمَا كُنَّا نَخُوۡضُ وَنَلۡعَبُ ؕ قُلۡ اَبِاللّٰهِ وَاٰيٰتِهٖ وَرَسُوۡلِهٖ كُنۡتُمۡ تَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ﴿٦٥﴾ لَا تَعۡتَذِرُوۡا قَدۡ كَفَرۡتُمۡ بَعۡدَ اِيۡمَانِكُمۡ ؕ اِنۡ نَّعۡفُ عَنۡ طَآئِفَةٍ مِّنۡكُمۡ نُعَذِّبۡ طَآئِفَةًۢ بِاَنَّهُمۡ كَانُوۡا مُجۡرِمِيۡنَ ﴿٦٦﴾ ع ١٤

منافقن کي ڊپ آهي ته ڪٿي مسلمانن تي اهڙي سورت نازل نه ٿي وڃي جو انهن کي منافقن جي دلين جي رازن کان آگاهه ڪري ڇڏي. چؤ ته توهان مذاق اڏائي وٺو، بيشڪ الله ان کي ظاهر ڪندو، جنهن جو توهان ڊپ ڪريو ٿا. ۽ جيڪڏهن تون انهن کان پڇندين ته هو چوندا اسان ته رڳو کل يوڳ يا چرچا پئي ڪيا. چؤ ڇا توهان الله سان ۽ ان جي آيتن سان ۽ ان جي رسول سان کل يوڳ ۽ مذاق ڪري رهيا هئا. بهانا نه ڪريو، توهان ايمان آڻڻ کان پوءِ ڪفر ڪيو آهي. جيڪڏهن اسان توهان مان هڪ جماعت کي معاف به ڪري ڇڏيون ته ٻي جماعت کي ته ضرور سزا ڏينداسون، ڇاڪاڻ ته هو مجرم آهن. ٦٤- ٦٦

---

غزوه تبوڪ جي موقعي تي مديني ۾ اهو ماحول هو ته جيڪي ماڻهو رسول الله ﷺ سان گڏ نڪتا، اهي همت وارن ۾ شمار ٿي رهيا هئا ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجن گهرن ۾ ويهي رهيا هئا سي منافق ۽

پست همت سمجهيا پيي ويا. ويهي رهڻ وارن منافقن رسول اللهﷺ ۽ اصحاب رسول جي عمل ڪي گهٽ
ظاهر ڪرڻ لاءِ انهن جو مذاق اڏائڻ شروع ڪيو. ڪنهن چيو تہ هي قرآن پڙهڻ وارا آهن، اسان ڪي تہ ان
ڪان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نظر نہ ٿو اچي، جو هو اسان ۾ سڀ ڪان وڌيڪ بکيا آهن. اسان مان سيني ڪان
وڌيڪ ڪوڙا آهن ۽ اسان مان سيني ڪان وڌيڪ بزدل آهن. (ما اري قُراءنا هؤلاءِ الا ارغبنا بطونا واڪذبنا
السنة واجبننا عند اللقاء). ڪنهن چيو ڇا توهان سمجهو ٿا تہ رومين سان وڙهڻ ائين ئي آهي، جيئن
عربن جو پاڻ ۾ وڙهڻ. خدا جو قسم سڀاڻي اهي سڀ ماڻهو رسين ۾ ٻڌل نظر ايندا. (اتحسبون جلاد بني
الاصفر ڪقتال العرب بعضهم بعضا والله لڪانا بڪم غدا مقرنين في الحبال). ڪنهن چيو تہ هي صاحب
سمجهن ٿا تہ هو روم جا محل ۽ اُن جا قلعا فتح ڪرڻ پيا وڃن، انهن جي حالت تي افسوس (يظن هٰذا ان
يفتح قصور الروم وحصونها، هيهات هيهات- تفسير ابن ڪثير)

رسول اللهﷺ ڪي خبر پئي تہ پاڻ سڳورنﷺ انهن ڪي گهرائي پڇيو. هو چوڻ لڳا: اسان تہ رڳو
کِل ڀوڳ جون ڳالهيون ڪري رهيا هئاسون. (انما ڪنا نخوض و نلعب) ان جي جواب ۾ الله تعاليٰ
فرمايو: ڇا الله ۽ اُن جي حڪمن ۽ اُن جي رسول جي معاملي ۾ توهان کِل ڀوڳ ڪري رهيا هئا.

الله ۽ رسول جي ڳالھ هميشہ ڪنهن ماڻهو جي زبان مان بلند ٿيندي آهي. اِهو ماڻهو جيڪڏهن
ڏسڻ وارن جي نظر ۾ بظاهر معمولي هجي تہ هو اُن جو مذاق اُڏائڻ لڳندا آهن. پر اِهو مذاق اُن ماڻهو جو نہ
آهي بلڪ خود خدا جو آهي. جيڪي ماڻهو ائين ڪن اُهي رڳو هي ثابت ڪندا آهن تہ هو خدا جي دين
جي باري ۾ سنجيده نہ آهن. اهڙا ماڻهو خدا جي نظر ۾ سخت مجرم آهن، انهن جون ڪوڙيون تاويلون
انهن جي حقيقت ڪي لڪائڻ ۾ ڪڏهن بہ ڪامياب نٿيون ٿي سگهن.

نفاق ۽ ارتداد ٻئي هڪ ئي حقيقت جون ٻہ صورتون آهن. ماڻهو جيڪڏهن اسلام اختيار ڪرڻ
ڪان پوءِ سيني جي سامهون انڪار ڪري ڇڏي تہ اهو ارتداد آهي ۽ جيڪڏهن ائين ٿي جو ذهن ۽ قلب جي
لحاظ ڪان هو اسلام ڪان پري هجي، پر ماڻهن جي سامهون هو پاڻ ڪي مسلمان ظاهر ڪري تہ اِهو نفاق
آهي، اهڙن منافقن جو انجام خدا وٽ اُهوئي آهي جيڪو مرتدن جو آهي، پر جيڪڏهن اُهي مرڻ ڪان
پهرين پنهنجن غلطين جو اقرار ڪري پنهنجي اصلاح ڪري وٺن.

اَلْمُنٰفِقُوْنَ وَ الْمُنٰفِقٰتُ بَعْضُهُمْ مِّنْۢ بَعْضٍ ۘ يَاْمُرُوْنَ بِالْمُنْكَرِ وَ يَنْهَوْنَ عَنِ
الْمَعْرُوْفِ وَ يَقْبِضُوْنَ اَيْدِيَهُمْ ؕ نَسُوا اللّٰهَ فَنَسِيَهُمْ ؕ اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ هُمُ
الْفٰسِقُوْنَ ﴿۶۷﴾ وَعَدَ اللّٰهُ الْمُنٰفِقِيْنَ وَ الْمُنٰفِقٰتِ وَ الْكُفَّارَ نَارَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ هِيَ
حَسْبُهُمْ ۚ وَ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ ۚ وَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ﴿۶۸﴾ كَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ كَانُوْۤا اَشَدَّ
مِنْكُمْ قُوَّةً وَّ اَكْثَرَ اَمْوَالًا وَّ اَوْلَادًا ؕ فَاسْتَمْتَعُوْا بِخَلَاقِهِمْ فَاسْتَمْتَعْتُمْ بِخَلَاقِكُمْ
كَمَا اسْتَمْتَعَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ بِخَلَاقِهِمْ وَ خُضْتُمْ كَالَّذِيْ خَاضُوْا ؕ اُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ

اَعۡمَالُهُمۡ فِي الدُّنۡيَا وَ الۡاٰخِرَةِ ۚ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الۡخٰسِرُوۡنَ ﴿٦٩﴾ اَلَمۡ يَاۡتِهِمۡ نَبَاُ الَّذِيۡنَ مِنۡ
قَبۡلِهِمۡ قَوۡمِ نُوۡحٍ وَّ عَادٍ وَّ ثَمُوۡدَ ۙ وَ قَوۡمِ اِبۡرٰهِيۡمَ وَ اَصۡحٰبِ مَدۡيَنَ وَ الۡمُؤۡتَفِكٰتِ ؕ
اَتَتۡهُمۡ رُسُلُهُمۡ بِالۡبَيِّنٰتِ ۚ فَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيَظۡلِمَهُمۡ وَ لٰكِنۡ كَانُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ يَظۡلِمُوۡنَ ﴿٧٠﴾

منافق مرد ۽ منافق عورتون سڀ هڪ جهڙا آهن. هو برائين جو حڪم ڪن ٿا ۽ ڀلائي کان منع ڪندا آهن ۽ پنهنجن هٿن کي بند رکندا آهن. انهن الله کي وساري ڇڏيو ته الله به انهن کي وساري ڇڏيو. بيشڪ منافق گهڻا نافرمان آهن. منافق مردن ۽ منافق عورتن ۽ ڪافرن سان الله جهنم جي باهه جو وعدو ڪري رکيو آهي، جنهن ۾ هو هميشه رهندا، اهائي سزا سندن لاءِ ڪافي آهي. انهن تي الله جي لعنت آهي ۽ انهن جي لاءِ هميشه رهندڙ عذاب آهي. جهڙي طرح توهان کان اڳ ماڻهو هئا. اهي توهان کان طاقت ۾ ۽ مال ۽ اولاد جي گهڻائي ۾ توهان کان به وڌيڪ هئا ته انهن پنهنجي حصي جو فائدو ڪنيو ۽ توهان به پنهنجي حصي جو فائدو ڪنيو، جيئن ته توهان جي اڳين پنهنجي حصي مان فائدو ورتو هو ۽ توهان به ساڳيا اجايا بحث ڪيا، جهڙا بحث انهن ڪيا هُئا. اِهي ئي اُهي ماڻهو آهن جن جا عمل دنيا ۽ آخرت ۾ چٽ ٿي ويا ۽ اِهي ئي ماڻهو خساري ۾ پوڻ وارا آهن. ڇا انهن کي اُنهن ماڻهن جي خبر نه پهتي جيڪي اُنهن کان اڳ گذري چڪا، قوم نوح ۽ عاد ۽ ثمود ۽ قوم ابراهيم ۽ اصحاب المدين ۽ اونڌي ٿيل وسندين جي. انهن وٽ سندن رسول دليلن سان گڏ آيا. پوءِ ايئن نه ٿيو جو الله مٿن ظلم ڪيو، پر هُو خود پنهنجن جانين تي ظلم ڪندا رهيا. ٦٧-٧٠

---

اڳين ماڻهن کي خدا شان و شوڪت ۽ مال ڏنو ته انهن اُن مان فخر ۽ تڪبر ۽ بي حسي جي غذا ورتي. جيئن ته پوءِ اچڻ وارن به انهن جي انجام مان ڪو سبق نه سکيو. انهن به دنيا جي سازو سامان مان پنهنجي لاءِ اُهوئي پسند ڪيو، جنهن کي انهن جي پوئين پسند ڪيو هو. اِهوئي هر دور ۾ عام ماڻهن جو حال رهيو آهي. هو حق جي تقاضن کي ڪا اهميت نٿا ڏين. مال ۽ اولاد جا تقاضا ئي انهن لاءِ سيني کان وڌي شيءِ هوندا آهن.

منافق جو حال به حقيقت جي لحاظ کان اِهو ئي هوندو آهي. هو ظاهري طور تي ته مسلمان جهڙو نظر ايندو آهي. پر اُن جي جيئڻ جي سطح اُها ئي هوندي آهي، جيڪا عام دنيادارن جي سطح هوندي آهي. ان جو نتيجو اهو ٿيندو آهي ته ڪجهه نمائشي عملن کي ڇڏي حقيقي زندگي ۾ هُو اهڙو ئي هوندو آهي جهڙا عام دنيا دار هوندا آهن. منافق جون قلبي دلچسپيون دينداري جي مقابلي ۾ دنيادارن سان وڌيڪ وابسته هونديون آهن. آخرت جي لاءِ خرچ ڪرڻ سان ان جي دل تنگ ٿيندي آهي، پر بي فائده دنياوي مشغلن ۾ خرچ ڪرڻو هجي ته هُو شوق سان اڳيان وڌي ان ۾ حصو وٺندو آهي. حق جو وڌڻ ان کي پسند نه ٿو اچي، البته ناحق جو واڌارو وڻندو آهي. ظاهري دينداري جي باوجود هو خدا ۽ آخرت کي اهڙي طرح وساري ٿو ڇڏي، جيئن هن وٽ خدا ۽ آخرت جي ڪا حقيقت نه آهي.

اهڙا ماڻهو پنهنجي ظاهري اسلام جي ڪري خدا جي پڪڙ کان بچي نه ٿا سگهن. دنيا ۾ انهن جي لاءِ لعنت آهي ۽ آخرت ۾ سندن لاءِ عذاب. دنيا ۾ به اُهي خدا جي رحمتن کان محروم رهندا ۽ آخرت ۾ به.

خدا سان ڪامل وابستگي ئي اُها شيءِ آهي جيڪا ماڻهو جي عمل ۾ قيمت پيدا ڪندي آهي.

ڪامل وابستگي جي بغير جيڪو عمل ڪيو وڃي، چاهي اُهو بظاهر ديني عمل ڇو نہ هجي، اُهو آخرت ۾ اهڙي طرح بي قيمت قرار ڏنو ويندو. جيئن روح جي بغير ڪو جسم جيڪو جسم سان ظاهري مشابهت جي باوجود عملاً بي قيمت هوندو آهي.

وَ الْمُؤْمِنُوْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتُ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ۘ يَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَ يَنْهَوْنَ عَنِ
الْمُنْكَرِ وَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَ يُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَ يُطِيْعُوْنَ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ ؕ اُولٰٓئِكَ
سَيَرْحَمُهُمُ اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۷۱﴾ وَعَدَ اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ
مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا وَ مَسٰكِنَ طَيِّبَةً فِيْ جَنّٰتِ عَدْنٍ ؕ وَ رِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ
ع ۹ ۱۵ اَكْبَرُ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۷۲﴾

۽ مؤمن مرد ۽ مؤمن عورتون هڪٻئي جا مددگار آهن. هو ڀلائيءَ جو حڪم ڏين ٿا ۽ برائيءَ کان روڪين ٿا ۽ نماز قائم ڪندا آهن ۽ زڪوات ادا ڪندا آهن ۽ الله ۽ سندس رسول جي اطاعت ڪندا آهن. اِهي ئي ماڻهو آهن جن تي الله رحم ڪندو. بيشڪ الله زبردست آهي حڪمت وارو آهي. مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن سان الله جو وعدو آهي باغن جو جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون. انهن ۾ هو هميشہ رهندا ۽ وعدو آهي پاڪ جاين جو هميشہ وارن باغن ۾ ۽ الله جو راضپو جيڪو سڀني کان وڏيڪ آهي. اِهائي وڏي ڪاميابي آهي. ۷۱-۷۲

---

منافقاڻي طور تي اسلام سان منافقاڻي وابستگي رکندڙ ماڻهن ۾ جيڪي خاصيتون هونديون آهن، سي آهن آخرت کان غفلت، دنيا جي ضرورتن سان دلچسپي، ڀلائي جي ڪمن کان پري رهڻ ۽ نمائشي ڪمن ڏانهن لاڙو. انهن گڏيل صفتن جي ڪري سندن هڪٻئي سان خوب لاڳاپو هوندو آهي. اهي شيون انهن کي ڳالهائڻ لاءِ گڏيل دلچسپي جو موضوع مهيا ڪنديون آهن. اُنهن جي ڪري انهن کي هڪٻئي جي مدد ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي، ايئن اِهو انهن ۾ باهمي تعلق جو ذريعو بڻجي ويندو آهي.

اِهوئي معاملو هڪ ٻي شڪل ۾ سچي ايمان وارن سان هوندو آهي، سندن دلين ۾ الله جي محبت هوندي آهي. انهن کي سڀني کان وڏيڪ آخرت جي فڪر هوندي آهي. هو دنيا جي شين سان رڳو ضرورت تحت تعلق رکندا آهن نہ وري مقصد طور. خدا جي پسند جو ڪم تي رهيو هجي تہ سندن دليون يڪدم اُن ڏانهن متوجهہ ٿينديون آهن. بُرائي جو ڪم هجي تہ اُن کان سندن طبيعت انڪار ڪندي آهي. سندن زندگي ۾ سندن اثاثو سڀ کان وڌيڪ خدا جي لاءِ هوندو آهي نہ وري پنهنجي لاءِ. اُهي خدا کي ياد ڪرڻ وارا ۽ خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ وارا هوندا آهن.

ايمان وارن جون اهي هڪجهڙيون صفتون انهن کي هڪٻئي جي ويجهو ڪري ڇڏينديون آهن. سڀني جي ڊوڙ خدا ڏانهن هوندي آهي، سڀني جي اطاعت جو مرڪز خدا جو رسول هوندو آهي. جڏهن هو ملندا آهن تہ اُهي ئي سندن باهمي دلچسپي جي شيون هونديون آهن جن تي هو ڳالهيون ڪن. انهن صفتن جي ذريعي هو هڪٻئي کي سڃاڻيندا آهن. ان ئي بنياد تي سندن تعلق قائم هوندا آهن. اُن ئي

سان انهن کي اُهو مقصد حاصل ٿيندو آهي جنهن جي لاءِ هو ڳڏجي ڪوشش ڪن. اُن سان ئي انهن کي اُها منزل ملي ٿي جنهن ڏانهن سيئي ڳڏجي اڳيان وڌن.

دنيا ۾ ايمان وارن جي زندگي سندن آخرت واري زندگي جي مثال وانگر آهي. دنيا ۾ ايمان وارا اهڙي طرح جيئندا آهن جيئن هڪ باغ ۾ سرسبز وڻ بيٺا هجن. هر هڪ ٻئي جي حُسن ۾ اضافو ڪري رهيو هجي. انهن وڻن کي خدا جي فيض سان نڪرڻ وارا لاڙڪ سيراب ڪري رهيا هجن. هر مسلمان ٻئي مسلمان جو اهڙي طرح خيرخواهه ۽ ساٿي هجي جو سڄو ماحول امن ۽ سڪون جو مرڪز بڻجي وڃي. اِهائي رباني زندگي آخرت ۾ جنتي زندگي ۾ تبديل ٿي ويندي. اُتي ماڻهو نه رڳو پنهنجو پوکيل فصل لڻندو بلڪ خدا جي خاص رحمت سان اهڙا انعام حاصل ڪندو، جن جو اُن ڪان پهرين اُن ڪڏهن تصور به نه ڪيو هو.

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَ الْمُنٰفِقِيْنَ وَ اغْلُظْ عَلَيْهِمْ ؕ وَ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ وَ بِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿۷۳﴾ يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ مَا قَالُوْا ؕ وَ لَقَدْ قَالُوْا كَلِمَةَ الْكُفْرِ وَ كَفَرُوْا بَعْدَ اِسْلَامِهِمْ وَ هَمُّوْا بِمَا لَمْ يَنَالُوْا ۚ وَ مَا نَقَمُوْۤا اِلَّاۤ اَنْ اَغْنٰىهُمُ اللّٰهُ وَ رَسُوْلُهٗ مِنْ فَضْلِهٖ ۚ فَاِنْ يَّتُوْبُوْا يَكُ خَيْرًا لَّهُمْ ۚ وَ اِنْ يَّتَوَلَّوْا يُعَذِّبْهُمُ اللّٰهُ عَذَابًا اَلِيْمًا ۙ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ ۚ وَ مَا لَهُمْ فِي الْاَرْضِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّ لَا نَصِيْرٍ ﴿۷۴﴾

اي نبي! ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪر ۽ انهن تي سختي ڪر. ۽ سندن ٺڪاڻو جهنم آهي ۽ اُها وڏي بڇڙي جاءِ آهي. هو الله جو قسم کڻن ٿا ته انهن نه چيو هو. حالانڪ انهن ڪفر جي ڳالهه چئي ۽ اُهي اسلام کان پوءِ ڪافر ٿي ويا ۽ انهن جيڪو ارادو ڪيو هو اُن کي پهچي نه سگهيا ۽ انهن رڳو ان جو بدلو ٿي ورتو جو الله ۽ سندس رسول انهن کي پنهنجي فضل سان مالدار ڪيو هو. جيڪڏهن هو توبهه ڪن ته سندن حق ۾ بهتر آهي ۽ جيڪڏهن هو منهن موڙيندا ته الله کين دنيا ۽ آخرت ۾ دردناڪ عذاب ڏيندو ۽ زمين تي سندن نه ڪوحمايتي هوندو ۽ نه ڪو مددگار. ٧٣-٧٤

---

هڪ روايت مطابق رسول اللهﷺ جي زماني ۾ تقريبًا ٨٠ منافق مديني ۾ موجود هئا. اُن مان معلوم ٿيو ته منافقن سان جنهن جهاد جو حڪم ڏنو ويو آهي، اُهو جنگ جي معنيٰ ۾ نه آهي. جيڪڏهن ايئن هجي ها ته پاڻﷺ انهن منافقن جو خاتمو ڪري ڇڏين ها. اُن مان مراد اصل ۾ اُهو جهاد آهي جيڪو زبان ۽ رويي ۽ سخت احتساب جي ذريعي ڪيو ويندو آهي (امر بالجهاد مع المنافقين باللسان وشدة الزجر و التغليظ- قرطبي بن عباس) تنهن ڪري جمهورِ اُمت جي مطابق منافقن جي مقابلي ۾ جهاد بالسيف (تلوار سان جهاد) شريعت ۾ نه آهي.

منافقت اِها آهي ته ماڻهو اسلام کي اهڙي طرح اختيار ڪري جو هو اُن کي پنهنجي مفادن ۽ مصلحتن جي تابع ڪري رکي. هن قسم جا ماڻهو جڏهن ڏسندا آهن ته ڪجهه خدا جي ٻانهن غير مصلحت انداز ۾ اسلام کي اختيار ڪيو آهي ۽ اُن ڏانهن ماڻهن کي دعوت ڏئي رهيا آهن ته اهڙي اسلام ۾ انهن کي پنهنجو اسلام بي قيمت ثابت ٿيندي نظر ايندو آهي. اهڙن داعين کان انهن کي سخت نفرت

ٿي ويندي آهي. هو اُنهن کي نقصان پهچائڻ ۽ تباهه ڪرڻ ۾ لڳي ويندا آهن. جنهن اسلام جي ناليءَ تي هو پنهنجون تجارتون قائم ڪندا آهن، اُن ئي اسلام جي داعين جا هو دشمن بڻجي ويندا آهن.

منافقن جي اِها دشمني سازش ۽ مذاق اُڏائڻ جي انداز ۾ ظاهر ٿيندي آهي. جيڪڏهن هو ڏسن ٿا ته ڪنهن ماڻهو جي اندر ڪنهن وجهه ڪان سچي اسلام جي داعين جي باري ۾ مخالفت وارا جذبا آهن ته هو اُن کي اُڀاريندا آهن ته جيئن هو انهن سان وڙهي پئي. هو مخلص ايمان وارن جو مذاق اُڏائيندا آهن. هو اهڙيون ڳالهيون چوندا آهن جن سان انهن جون قربانيون بي حقيقت معلوم ٿيڻ لڳن. هو انهن جي معمولي ڳالهين کي اهڙي طرح بگاڙي پيش ڪندا آهن جو عوام ۾ انهن جي تصوير خراب ٿي وڃي. تبوڪ جي سفر ۾ هڪ دفعي ايئن ٿيو جو ترسڻ جي هڪ مقام تي رسول اللهﷺ جي ڏاچي گم ٿي وئي. ڪجهه مسلمان اُن جي تلاش ۾ نڪتا. اِها ڳالهه منافقن کي معلوم ٿي ته انهن مذاق اُڏاريندي چيو: ته هي صاحب اسان کي آسمان جون خبرون ٻڌائيندا آهن، پر سندن ڏاچي جي خبر نه آهي ته اُها هن وقت ڪٿي آهي.

منافق مسلمان سچي اسلام جي داعين کي ناڪام ڪرڻ جي لاءِ شيطان جا ساٿي بڻجن ٿا، پر سچي اسلام جي داعين جو مددگار هميشه خدا هوندو آهي. هو منافقن جي سيني سازشن جي باوجود انهن کي بچائي وٺندو آهي ۽ منافقن جو انجام اِهو ٿيندو آهي جو هو پنهنجو جرم ثابت ڪري اُن جا مستحق بڻجي ويندا آهن ته انهن کي دنيا ۾ به عذاب ڏنو وڃي ۽ آخرت ۾ به.

وَ مِنۡهُمۡ مَّنۡ عٰهَدَ اللّٰهَ لَئِنۡ اٰتٰىنَا مِنۡ فَضۡلِهٖ لَنَصَّدَّقَنَّ وَ لَنَكُوۡنَنَّ مِنَ الصّٰلِحِيۡنَ﴿۷۵﴾
فَلَمَّاۤ اٰتٰىهُمۡ مِّنۡ فَضۡلِهٖ بَخِلُوۡا بِهٖ وَ تَوَلَّوۡا وَّ هُمۡ مُّعۡرِضُوۡنَ﴿۷۶﴾ فَاَعۡقَبَهُمۡ نِفَاقًا فِىۡ
قُلُوۡبِهِمۡ اِلٰى يَوۡمِ يَلۡقَوۡنَهٗ بِمَاۤ اَخۡلَفُوا اللّٰهَ مَا وَعَدُوۡهُ وَ بِمَا كَانُوۡا يَكۡذِبُوۡنَ﴿۷۷﴾ اَلَمۡ يَعۡلَمُوۡۤا
اَنَّ اللّٰهَ يَعۡلَمُ سِرَّهُمۡ وَ نَجۡوٰىهُمۡ وَ اَنَّ اللّٰهَ عَلَّامُ الۡغُيُوۡبِ﴿۷۸﴾ اَلَّذِيۡنَ يَلۡمِزُوۡنَ
الۡمُطَّوِّعِيۡنَ مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ فِى الصَّدَقٰتِ وَ الَّذِيۡنَ لَا يَجِدُوۡنَ اِلَّا جُهۡدَهُمۡ
فَيَسۡخَرُوۡنَ مِنۡهُمۡ‌ ؕ سَخِرَ اللّٰهُ مِنۡهُمۡ وَ لَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ﴿۷۹﴾ اِسۡتَغۡفِرۡ لَهُمۡ اَوۡ لَا
تَسۡتَغۡفِرۡ لَهُمۡ‌ ؕ اِنۡ تَسۡتَغۡفِرۡ لَهُمۡ سَبۡعِيۡنَ مَرَّةً فَلَنۡ يَّغۡفِرَ اللّٰهُ لَهُمۡ‌ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ
ع ۸ ۱۶ كَفَرُوۡا بِاللّٰهِ وَ رَسُوۡلِهٖ‌ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يَهۡدِى الۡقَوۡمَ الۡفٰسِقِيۡنَ﴿۸۰﴾

۽ انهن ۾ اُهي به آهن جن الله سان عهد ڪيو هو ته جيڪڏهن اُن اسان کي پنهنجي فضل مان عطا ڪيو ته اسان ضرور صدقو ڏينداسون ۽ اسان صالح بڻجي رهنداسون. پوءِ جڏهن الله انهن کي پنهنجي فضل سان عطا ڪيو ته هو بُخل ڪرڻ لڳا. ۽ اُهي منهن موڙيندڙ ٿي ڦري ويا. تنهن ڪري الله سندن دلين ۾ نفاق ويهاري ڇڏيو، اُن ڏينهن تائين جڏهن اُهي اُن سان ملندا، اُن ڪري جو انهن الله سان ڪيل وعدي جي خلاف ورزي ڪئي ۽ اُن ڪري جو هو ڪوڙ ڳالهائيندا هئا. ڇا انهن کي خبر نه آهي ته الله سندن راز ۽ ڳجهيون صلاحون ڄاڻي ٿو ۽ الله سڀ لڪيل ڳالهين کي ڄاڻندڙ آهي. اُهي ماڻهو جيڪي طعنا هڻندا آهن انهن مسلمانن تي جيڪي دل کولي صدقو

ڏيندا آهن ۽ جيڪي رڳو پنهنجي محنت ۽ مزدوري مان الله جي راهه ۾ ڏيندا آهن تن جو مذاق اُڏائيندا آهن. الله اهڙن مسخري ڪندڙن جو مذاق اڏائيندو آهي ۽ انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي. تون انهن جي لاءِ معافيءَ جي درخواست ڪر يا نه ڪر. جيڪڏهن تون ستر ڀيرا به معافي جي درخواست ڪرين ته الله انهن کي معاف ڪرڻ وارو نه آهي. اِهو اُن ڪري جو انهن الله ۽ رسول جو انڪار ڪيو ۽ الله نافرمانن کي راهه نه ٽو ڏيکاري. ۷۵-۸۰

---

ثعلبه بن حاطب انصاري رسول اللهﷺ کي چيو ته منهنجي لاءِ دُعا ڪريو ته خدا مون کي مال ڏئي ڇڏي. پاڻﷺ فرمايو: ٿوري مال تي شڪر گذار هجڻ اُن کان بهترين آهي جو توکي گهڻو مال ملي ۽ تون شڪر ادا نه ڪري سگهين. پر ثعلبه بار بار درخواست ڪئي، تنهن ڪري رسول اللهﷺ دعا فرمائي ته خدايا ثعلبه کي مال ڏئي ڇڏ. اُن کان پوءِ ثعلبه ٻڪري ڌاري. اُن جو نسل ايترو وڌيو جو مديني جي زمين انهن ٻڪرين لاءِ تنگ ٿي پئي. ثعلبه مديني کان ٻاهر هڪ وادي ۾ رهڻ شروع ڪيو. هاڻي ثعلبه جي اسلام ۾ ڪمزوري اچڻ شروع ٿي. پهرين هُن کان جماعت جي نماز ڇڏائجي وئي. پوءِ جمعو ڇڏائجي ويو. ڳالهه وڃي ايستائين پهتي جو جڏهن رسول اللهﷺ جو عامل ثعلبه وٽ زڪوات وٺڻ لاءِ پهتو ته ثعلبه زڪوات نه ڏني ۽ چيو ته زڪوات ته جزيي جي ڀيڻ آهي. (ما هٰذه الا جزية. ما هٰذه الا اخت الجزية)

اُهو ماڻهو خدا جي نظر ۾ منافق آهي جنهن جو حال اِهو هجي جو هو مال جي لاءِ خدا کان دعائون گُهري ۽ جڏهن خدا اُن کي مال وارو بڻائي ڇڏي ته هو پنهنجي مال مان خدا جو حق ڪڍڻ وساري ڇڏي. ماڻهوءَ وٽ مال نه هوندو آهي ته هو مال وارن کي برو چوندو آهي ته اِهي ماڻهو مال کي غلط ڪمن ۾ برباد ڪندا آهن. جيڪڏهن خدا مونکي مال ڏي ته آئون اُن کي خير جي ڪمن ۾ خرچ ڪريان. پر جڏهن اُن وٽ مال ايندو آهي ته اُن جي نفسيات بدلجي ويندي آهي. اُن کان وسري ٿو وڃي ته هن پهرين ڇا چيو هو ۽ ڪهڙن جذبن جو اظهار ڪيو هو. هاڻي هو مال کي پنهنجي محنت ۽ لياقت جو نتيجو سمجهي اڪيلو اُن جو مالڪ بڻجي ويندو آهي. خدا جو حق ادا ڪرڻ اُن کي ياد نه ٿو رهي.

اهڙي قسم جا ماڻهو پنهنجن ڪمزورين کي لڪائڻ لاءِ وڏيڪ سرڪشي اِها ڪندا آهن جو هو انهن ماڻهن جو مذاق اڏائيندا آهن جيڪي خدا جي راهه ۾ پنهنجو مال خرچ ڪندا آهن. ڪنهن گهڻو مال ڏنو ته اُن کي رياڪار چوندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪنهن پنهنجي غربت جي ڪري گهٽ ڏنو ته چوندا آهن ته خدا کي هن ماڻهو جي صدقي جي ڪهڙي ضرورت هئي. جيڪي ماڻهو ايترو وڏيڪ پنهنجي پاڻ ۾ گم هجن، انهن کي پاڻ کان ٻاهر جون اعليٰ حقيقتون ڪڏهن به ڏسڻ ۾ نٿيون اچن.

فَرِحَ الْمُخَلَّفُوْنَ بِمَقْعَدِهِمْ خِلٰفَ رَسُوْلِ اللّٰهِ وَ كَرِهُوْۤا اَنْ يُّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَ
اَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ قَالُوْا لَا تَنْفِرُوْا فِي الْحَرِّ ؕ قُلْ نَارُ جَهَنَّمَ اَشَدُّ حَرًّا ؕ لَوْ كَانُوْا
يَفْقَهُوْنَ ﴿۸۱﴾ فَلْيَضْحَكُوْا قَلِيْلًا وَّ لْيَبْكُوْا كَثِيْرًا ۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۸۲﴾ فَاِنْ
رَّجَعَكَ اللّٰهُ اِلٰى طَآئِفَةٍ مِّنْهُمْ فَاسْتَاْذَنُوْكَ لِلْخُرُوْجِ فَقُلْ لَّنْ تَخْرُجُوْا مَعِيَ اَبَدًا وَّ لَنْ
تُقَاتِلُوْا مَعِيَ عَدُوًّا ؕ اِنَّكُمْ رَضِيْتُمْ بِالْقُعُوْدِ اَوَّلَ مَرَّةٍ فَاقْعُدُوْا مَعَ الْخٰلِفِيْنَ ﴿۸۳﴾ وَ لَا

تُصَلِّ عَلٰۤى اَحَدٍ مِّنۡهُمۡ مَّاتَ اَبَدًا وَّ لَا تَقُمۡ عَلٰى قَبۡرِهٖ ؕ اِنَّهُمۡ كَفَرُوۡا بِاللّٰهِ وَ رَسُوۡلِهٖ وَ مَاتُوۡا وَ هُمۡ فٰسِقُوۡنَ ﴿۸۴﴾

پوئتي رهجي وڃڻ وارا الله جي رسول کان پٺتي ويهي رهڻ تي خوش ٿيا ۽ انهن کي ناپسند هو ته هو پنهنجي مال ۽ جان سان الله جي راهه ۾ جهاد ڪن. ۽ انهن چيو گرميءَ ۾ نه نڪرو. چئو ته جهنم جي باهه اُن کان به وڌيڪ گرم آهي، ڪاش! انهن کي سمجهه هجي ها. تنهن ڪري هو ٿورو کلن ۽ گهڻو روئن اُن جي بدلي ۾ جيڪي هو ڪندا رهيا. تنهن ڪري جيڪڏهن الله توکي انهن مان ڪنهن گروهه ڏانهن موٽائي ۽ اُهي توکان جهاد لاءِ نڪرڻ جي اجازت گهرن ته چئي ڏي ته توهان ڪڏهن به مون سان گڏ نه هلي سگهندؤ ۽ نه وري مون سان گڏجي ڪنهن دشمن سان وڙهندؤ. توهان پهريائين به پوئتي ويهڻ کي پسند ڪيو هو، تنهن ڪري پوئتي ويهندڙن سان گڏ ويهي رهو. ۽ انهن مان ڪو مري وڃي ته تون انهيءَ جي نماز هرگز نه پڙهجان ۽ نه اُن جي قبر تي بيهجان. بيشڪ انهن الله ۽ اُن جي رسول جو انڪار ڪيو ۽ اُهي اُن حال ۾ مئا جو هو نافرمان هئا. ٨١-٨٤

---

غزوه تبوڪ سخت گرمي جي موسم ۾ ٿيو. مديني کان نڪري شام جي سرحد تائين ٿي سو ميل وڃڻو هو. منافق مسلمانن چيو ته اهڙي تيز گرمي ۾ ايترو ڊگهو سفر نه ڪريو. اِهو چوندي انهن کي وسري ويو ته خدا جو سڏ ٻڌڻ کان پوءِ ڪنهن خطري جي ڪري نه نڪرڻ پنهنجي پاڻ کي سخت خطري ۾ مبتلا ڪرڻو آهي. اِهو ايئن ئي آهي جيئن اُس کان ڀڄي باهه جي شعلن جي پناهه وٺجي.

جيڪي ماڻهو خدا جي مقابلي ۾ پاڻ کي ۽ پنهنجي مال کي وڌيڪ محبوب رکن ٿا، هو جڏهن پنهنجن خوبصورت تدبيرن جي ڪري اُن ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن جو اُهي مسلمان به بڻجي رهن ۽ اُن سان گڏ سندن زندگي ۽ سندن مال کي به ڪو خطرو نه هجي ته اُهي گهڻو خوش ٿيندا آهن. هو پاڻ کي عقل مند سمجهندا آهن ۽ انهن ماڻهن کي بيوقوف چوندا آهن جن خدا جي رضا لاءِ پاڻ کي ٽڪائي وڌو آهي.

پر اها سراسر ناداني آهي. اِهو اهڙو کلڻ آهي جنهن جو انجام روئڻ تي ختم ٿيڻ وارو آهي، ڇاڪاڻ ته موت کان پوءِ اچڻ واري دنيا ۾ اهڙي قسم جي ”هوشياري“ سيني کان وڏي ناداني ثابت ٿيندي. ان وقت ماڻهو افسوس ڪندؤ ته هو جنت جو طلبگار هو، پر ان پنهنجي اثاثن مان اُهائي شيءِ ان جي لاءِ نه ڏني جيڪا اصل ۾ جنت جي واحد قيمت هئي.

اهڙي قسم جا منافق هميشه اُهي ماڻهو هوندا آهن جيڪي پنهنجي تحفظ واري پاليسي جي ڪري پنهنجي گرد مال ۽ شان و شوڪت جا اسباب جمع ڪري وٺندا آهن. ان ڪري عام مسلمان انهن کان گهڻا متاثر ٿي ويندا آهن. انهن جون شاندار زندگيون ۽ انهن جون خوبصورت ڳالهيون ماڻهن جي نظر ۾ انهن کي عظيم بڻائي ڇڏينديون آهن. اِهو ڪنهن اسلامي سماج جي لاءِ هڪ سخت امتحان هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته هڪ حقيقي اسلامي سماج ۾ اهڙن ماڻهن کي نظر انداز ڪرڻ ڪپي، نه وري انهن کي عزت جو مقام ڏنو وڃي.

جن ماڻهن جي باري ۾ پوري طرح خبر پئجي وڃي ته هو بظاهر مسلمان بڻيل آهن، پر حقيقت ۾ اُهي پنهنجي مفاد ۽ پنهنجن دنياوي مصلحتن جا وفادار آهن. انهن کي حقيقي اسلامي (سماج) ڪڏهن به عزت جي مقام تي ويهارڻ جي لاءِ راضي نه ٿو ٿي سگهي. اهڙن ماڻهن جو انجام اِهو آهي ته هُو انهن کي

اسلامي مجلسن ۾ رڳو پوئين صفن ۾ جڳهه ملي، مسلمان جي اجتماعي معاملن ۾ انهن جو ڪو دخل نہ هجي. ديني منصبن لاءِ اُهي نا اهل قرار ڏنا وڃن. جنهن معاشري ۾ اهڙن ماڻهن ڪي عزت جو مقام مليل هجي اُهو ڪڏهن بہ خدا جو پسنديده معاشرو نہ ٿو ٿي سگهي.

وَ لَا تُعۡجِبۡكَ اَمۡوَالُهُمۡ وَ اَوۡلَادُهُمۡ ؕ اِنَّمَا يُرِيۡدُ اللّٰهُ اَنۡ يُّعَذِّبَهُمۡ بِهَا فِي الدُّنۡيَا وَ تَزۡهَقَ
اَنۡفُسُهُمۡ وَ هُمۡ كٰفِرُوۡنَ ﴿٨٥﴾ وَ اِذَاۤ اُنۡزِلَتۡ سُوۡرَةٌ اَنۡ اٰمِنُوۡا بِاللّٰهِ وَ جَاهِدُوۡا مَعَ رَسُوۡلِهِ
اسۡتَاۡذَنَكَ اُولُوا الطَّوۡلِ مِنۡهُمۡ وَ قَالُوۡا ذَرۡنَا نَكُنۡ مَّعَ الۡقٰعِدِيۡنَ ﴿٨٦﴾ رَضُوۡا بِاَنۡ يَّكُوۡنُوۡا
مَعَ الۡخَوَالِفِ وَ طُبِعَ عَلٰى قُلُوۡبِهِمۡ فَهُمۡ لَا يَفۡقَهُوۡنَ ﴿٨٧﴾ لٰكِنِ الرَّسُوۡلُ وَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا
مَعَهٗ جٰهَدُوۡا بِاَمۡوَالِهِمۡ وَ اَنۡفُسِهِمۡ ؕ وَ اُولٰٓئِكَ لَهُمُ الۡخَيۡرٰتُ ۫ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ
الۡمُفۡلِحُوۡنَ ﴿٨٨﴾ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمۡ جَنّٰتٍ تَجۡرِيۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَا ؕ ذٰلِكَ
ع ١١ ٩ ١٧ الۡفَوۡزُ الۡعَظِيۡمُ ﴿٨٩﴾ ع

۽ انهن جا مال ۽ انهن جو اولاد توکي عجب ۾ نہ وجهن. الله تہ اِهو گُهري ٿو تہ انهن جي ذريعي انهن کي دنيا ۾ عذاب ڏي ۽ سندن ساهہ ان حال ۾ نڪرن جو هُو منڪر هجن. ۽ جڏهن سورة نازل ٿيندي آهي تہ الله تي ايمان آڻيو ۽ سندن رسول سان گڏ جهاد ڪريو تہ انهن مان آسوده توڪان موڪل گُهرن ٿا ۽ چون ٿا تہ اسان کي ڇڏي ڏي تہ اسان هِتي رهجي وڃڻ وارن سان گڏ رهون. انهن اِهو پسند ڪيو تہ پوئتي رهجي وڃڻ وارين عورتن سان گڏ هجن. ۽ سندن دلين تي مُهر هنئي وئي، تنهن ڪري هُو ڪجهہ نہ ٿا سمجهن. پر رسول ۽ جن ماڻهن ان سان گڏ ايمان آندو آهي، انهن پنهنجي مال ۽ جان سان جهاد ڪيو ۽ انهن لاءِ ئي سڀ ڀلائيون آهن ۽ اُهي ئي فلاح پائڻ وارا آهن. الله انهن لاءِ اهڙا باغ تيار ڪيا آهن، جن جي هيٺان نهرون وهندڙ آهن ۽ اُهي انهن ۾ هميشہ رهندا، اِهائي عظيم ڪاميابي آهي. ٨٥-٨٩

---

منافق پنهنجي دنيا پرستي وارن طريقن جي ذريعي پنهنجي چؤ طرف دنيا جو سازو سامان جمع ڪري وٺندو آهي ۽ ان سان گڏ مددگارن جو هجوم ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اهي شيون سطحي قسم جي ماڻهن کي متاثر ڪن ٿيون. پر گهري نظر سان ڏسڻ وارن جي لاءِ انهن جي ظاهري چمڪ قابل رشڪ نہ هوندي آهي، بلڪ عبرت جي قابل هوندي آهي. ڇاڪاڻ اِهي شيون جن ماڻهن وٽ هجن، اُهي انهن جي لاءِ خدا ڏانهن وڌڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي وينديون آهن. خدا جو محبوب ٻانهو اُهو آهي جيڪو ڪنهن خدشي ۽ ڪنهن مصلحت جي بغير خدا ڏانهن وڌي. پر جيڪي ماڻهو دنيا جي رونقن ۾ گهيريل هجن، اُهي انهن مان نڪري نہ ٿا سگهن. جڏهن بہ هُو خدا ڏانهن وڌڻ چاهين ٿا تہ انهن کي ايئن ٿو نظر اچي تہ هُو پنهنجو سڀ ڪجهہ وڃائي ويهندا . پوءِ هُو اُن قربانيءَ جي همت نہ ٿا ڪري سگهن، ان ڪري هو خدا جا وفادار بہ نہ ٿا ٿين. انهن جون دنياوي ترقيون انهن کي ان بربادي جي قيمت تي ملنديون آهن جو اُهي آخرت ۾ محروم ٿي حاضر ٿين.

اهڙن ماڻهن جو حال اِهو هوندو آهي تہ جڏهن خدا جو دين چوندو آهي تہ پنهنجي انا کي دفن ڪري خدا کي جهلي وٺو، تہ هُو پنهنجي اَنا کي دفن نہ ٿا ڪري سگهن. جڏهن خدا جو دين انهن کي

شهرت ۾ مقبوليت ڪان خالي رستن تي هلڻ لاءِ چوي ٿو ته هو پنهنجي شهرت ۽ مقبوليت کي سنڀالڻ جي فڪر ۾ پوئتي رهجي ويندا آهن. جڏهن خدا جي دين جي جدوجهد زندگي ۽ مال جي قرباني گهرندي آهي ته انهن کي پنهنجي زندگي ۽ مال ايترا ته قيمتي نظر ايندا آهن، جو هو اُنهن کي دنيا جي مقصد کان سواءِ ٻئي ڪنهن مقصد لاءِ قربان نٿا ڪري سگهن.

اِها ڪيفيت وڌي ايستائين پهچي ويندي آهي جو سندن دلين جي حساسيت ختم ٿي ويندي آهي. هو بيحسيءَ جو شڪار ٿي اُن تڙپ کي وڃائي ڇڏيندا آهن، جيڪا ماڻهو کي خدا ڏانهن ڇڪي ۽ خدا کان سواءِ ڪنهن ٻئي تي راضي ٿيڻ نه ڏي.

اُن جي ابتڙ جيڪي سچي ايمان وارا آهن، اُهي سيني کان مٿانهون مقام خدا کي ڏيندا آهن. اُن ڪري هر شيءِ انهن کي خدا جي مقابلي ۾ گهٽ نظر ايندي آهي. هو هر قرباني ڏئي خدا ڏانهن وڌڻ جي لاءِ تيار رهندا آهن.

اِهي ئي اُهي ماڻهو آهن جن جي لاءِ خدا جون رحمتون ۽ نعمتون آهن. اُنهن جي ۽ خدا جي ابدي جنت وچ ۾ موت کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ حائل نه آهي.

وَ جَآءَ الْمُعَذِّرُوْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ لِيُؤْذَنَ لَهُمْ وَ قَعَدَ الَّذِيْنَ كَذَبُوا اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ ؕ
سَيُصِيْبُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۹۰﴾ لَيْسَ عَلَى الضُّعَفَآءِ وَ لَا عَلَى الْمَرْضٰى وَ
لَا عَلَى الَّذِيْنَ لَا يَجِدُوْنَ مَا يُنْفِقُوْنَ حَرَجٌ اِذَا نَصَحُوْا لِلّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ ؕ مَا عَلَى
الْمُحْسِنِيْنَ مِنْ سَبِيْلٍ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۹۱﴾ وَّ لَا عَلَى الَّذِيْنَ اِذَا مَاۤ اَتَوْكَ
لِتَحْمِلَهُمْ قُلْتَ لَاۤ اَجِدُ مَاۤ اَحْمِلُكُمْ عَلَيْهِ ۪ تَوَلَّوْا وَّ اَعْيُنُهُمْ تَفِيْضُ مِنَ الدَّمْعِ حَزَنًا
اَلَّا يَجِدُوْا مَا يُنْفِقُوْنَ ﴿۹۲﴾ اِنَّمَا السَّبِيْلُ عَلَى الَّذِيْنَ يَسْتَاْذِنُوْنَكَ وَ هُمْ اَغْنِيَآءُ ۚ رَضُوْا
بِاَنْ يَّكُوْنُوْا مَعَ الْخَوَالِفِ ۙ وَ طَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۹۳﴾

۽ بدوي عربن مان به بهانو ڪرڻ وارا آيا ته انهن کي اجازت ملي وڃي ۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول سان ڪوڙ ڳالهائي اُهو ويهي رهيو. انهن مان جن انڪار ڪيو، انهن کي هڪ دردناڪ عذاب پهچندو. ڪو گناهه نه آهي ڪمزورن تي ۽ نه بيمارن تي ۽ نه انهن تي جن وٽ خرچ ڪرڻ لاءِ ڪجهه به نه آهي. جڏهن ته هُو الله ۽ سندس رسول جا خيرخواهه هجن. نيڪوڪارن تي ڪو الزام نه آهي ۽ الله بخشڻ وارو مهربان آهي. ۽ نه انهن ماڻهن تي ڪو الزام آهي جيڪي تو وٽ آيا ته تون انهن کي سواريون ڏين ته تو چيو مون وٽ ڪا شيءِ نه آهي، جنهن تي اوهان کي سوار ڪريان. ته هو ان حال ۾ واپس ٿيا جو سندن اکين مان ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا ان ڏک جي ڪري جو انهن کي ڪجهه ميسر نه آهي جيڪو هو خرچ ڪن. الزام ته رڳو انهن ماڻهن تي آهي جيڪي تو کان اجازت گهرندا آهن، حالانڪ اُهي مالدار آهن. اُهي ان تي راضي ٿي ويا ته پوئتي رهجي وڃڻ وارين عورتن سان رهجي وڃن ۽ الله سندن دلين تي مهر هڻي ڇڏي، پوءِ اُهي نه ٿا ڄاڻن. ۹۰-۹۳

---

دين جي دعوت جي جدوجهد جڏهن ماڻهن کان انهن جي زندگي ۽ انهن جي مال جو تقاضو

ڪري رهيا هجي، ان وقت پهچ هئڻ جي باوجود عذر ڪري ويهي رهڻ بدترين جرم آهي. اِهو دين جي پڪار جي معاملي ۾ بي حسيءَ جو ثبوت آهي. هڪ مسلمان لاءِ هِن قسم جو رويو خدا ۽ رسول سان غداري ڪرڻ جي هم معنيٰ آهي، اهڙا ماڻهو خدا جي رحمتن مان ڪوبه حصو پائڻ جا حقدار نه آهن. انهن وٽ جيڪو ڪجهه هو، ان کي جڏهن انهن خدا جي لاءِ پيش نه ڪيو، ته خدا وٽ جيڪو ڪجهه آهي اُهو چا جي لاءِ انهن کي ڏيندو. قيمت ادا ڪرڻ کانسواءِ ڪا شيءِ ڪنهن کي نه ٿي ملي سگهي.

جيئن ته معذورن جي لاءِ خدا وٽ معافي آهي. جيڪو ماڻهو بيمار هجي، جنهن وٽ خرچ ڪرڻ جي لاءِ ڪجهه نه هجي، جنهن وٽ سفر جو سامان نه هجي، اهڙن ماڻهن سان خدا درگذر فرمائيندو. بلڪ اهو به ممڪن آهي ته ڪجهه نه ڪرڻ جي باوجود سڀ ڪجهه سندن کاتي ۾ لکيو وڃي، جيئن ته حديث ۾ آيو آهي ته غزوه تبوڪ کان واپس موٽندي رسول الله ﷺ پنهنجن ساٿين کي فرمايو: مديني ۾ ڪجهه اهڙا به ماڻهو آهن جو توهان جنهن به رستي تي هليا ۽ جنهن به وادي مان گذريا ته اُهي توهان سان گڏ رهيا (ان بالمدينة اقوامًا ما قطعتم واديًا ولا سرتم سيرا الا وهم معكم).

اهي خوش قسمت ماڻهو ڪير آهن جيڪي نه ڪرڻ جي باوجود ڪرڻ جو انعام حاصل ڪن ٿا. هِي اُهي ماڻهو آهن جيڪي معذور هجڻ سان گڏ ٽن ڳالهين جو ثبوت ڏين. (١) نُصح: يعني عملي طور شرڪت نه ڪندي به قلبي شرڪت. (٢) احسان: يعني شرڪت نه ڪرڻ جي باوجود گهٽ ۾ گهٽ زبان سان ان جي وس ۾ جيڪو ڪجهه آهي ان کي پوري طرح ڪرڻ. (٣) حزن: يعني پنهنجي ڪوتاهيءَ تي ايترو شديد رنج جيڪو ڳوڙهن جي صورت ۾ ڳڙي پوي.

ڪو ماڻهو جڏهن پنهنجي عملي زندگي ۾ هڪ شيءِ کي اهميت نه ڏئي ۽ بار بار ايئن ڪندو رهي ته ان کان پوءِ ايئن ٿيندو آهي ته ان شيءِ جي اهميت جو احساس ان جي دل مان نڪري ويندو آهي. ان شيءِ جا تقاضا ان جي سامهون ايندا آهن، پر دل جي اندر ان جي باري ۾ تڙپ نه هئڻ جي ڪري، هو ان ڏانهن وڌي نه ٿو سگهي، هِي اهائي شيءِ آهي جنهن کي بي حسي چيو وڃي ٿو ۽ ان کي قرآن ۾ دلين تي مُهر ڪرڻ سان تعبير ڪيو ويو آهي.

يَعۡتَذِرُوۡنَ اِلَيۡكُمۡ اِذَا رَجَعۡتُمۡ اِلَيۡهِمۡ ؕ قُلۡ لَّا تَعۡتَذِرُوۡا لَنۡ نُّؤۡمِنَ لَكُمۡ قَدۡ نَبَّاَنَا اللّٰهُ
مِنۡ اَخۡبَارِكُمۡ ؕ وَ سَيَرَى اللّٰهُ عَمَلَكُمۡ وَ رَسُوۡلُهٗ ثُمَّ تُرَدُّوۡنَ اِلٰى عٰلِمِ الۡغَيۡبِ وَ الشَّهَادَةِ
فَيُنَبِّئُكُمۡ بِمَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿٩٤﴾ سَيَحۡلِفُوۡنَ بِاللّٰهِ لَكُمۡ اِذَا انۡقَلَبۡتُمۡ اِلَيۡهِمۡ لِتُعۡرِضُوۡا
عَنۡهُمۡ ؕ فَاَعۡرِضُوۡا عَنۡهُمۡ ؕ اِنَّهُمۡ رِجۡسٌ ۫ وَّ مَاۡوٰىهُمۡ جَهَنَّمُ ۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوۡا
يَكۡسِبُوۡنَ ﴿٩٥﴾ يَحۡلِفُوۡنَ لَكُمۡ لِتَرۡضَوۡا عَنۡهُمۡ ۚ فَاِنۡ تَرۡضَوۡا عَنۡهُمۡ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يَرۡضٰى
عَنِ الۡقَوۡمِ الۡفٰسِقِيۡنَ ﴿٩٦﴾

الجزء الحادي عشر (١١)

توهان جڏهن انهن ڏانهن واپس ورندو ته هُو توهان جي سامهون عذر پيش ڪندا. چئي ڇڏ ته بهانا نه ڪريو، اسان

هر گز توهان جي ڳالهہ نہ مڃيندا سون. بيشڪ الله اسان کي توهان جو حال ٻڌائي چڪو آهي. هاڻي الله ۽ رسول توهان جي عمل کي ڏسندا. پوءِ توهان ان ڏانهن موٽايا ويندؤ جيڪو ظاهر ۽ غيب کي ڄاڻڻ وارو آهي، هو توهان کي ٻڌائي ڇڏيندو جيڪو ڪجهہ توهان ڪري رهيا هئا. اُهي ماڻهو توهان جي واپسيءَ تي توهان جي سامهون الله جا قسمَ کڻندا، تہ جيئن توهان انهن کان درگذر ڪريو. پوءِ توهان انهن کان درگذر ڪريو. بيشڪ هُو ناپاڪ آهن ۽ انهن جو ٺڪاڻو جهنم آهي، بدلي ان جي جيڪو هو ڪندا رهيا. اُهي توهان جي سامهون قسمَ کڻندا تہ جيئن توهان انهن کان راضي ٿي وڃو. جيڪڏهن توهان انهن کان راضي بہ ٿي وڃو تہ الله نافرمان ماڻهن سان راضي ٿيڻ وارو نہ آهي. ٩٤-٩٦

---

”توهان جو حال اسان کي الله ٻڌائي ڇڏيو آهي“. اِهو جملو ظاهر ڪري رهيو آهي تہ هِتي جن منافقن جو ذڪر آهي، ان مان مراد قرآن جي نازل ٿيڻ واري زماني جا منافق آهن، ڇاڪاڻ تہ براهہ راست خدا جي وحي جي ذريعي آگاهہ ٿيڻ جو معاملو رڳو رسالت واري زماني ۾ ٿيو يا ٿي سگهي ٿو. بعد جي زماني ۾ ايئن ٿيڻ ممڪن نہ آهي. طبقات ابن سعد جي روايت جي مطابق اِهي ڪُل ٻياسي ماڻهو هئا جن جي نفاق جي باري ۾ الله وحي جي ذريعي آگاهہ فرمايو هو.

جيئن تہ ان علم جي باوجود صحابہ ڪرام کي انهن سان جنهن سلوڪ جي اجازت ڏني وئي، اِهو هو اعراض ۽ درگذر ڪرڻ نہ وري انهن کي هلاڪ ڪرڻ. انهن کي سزا يا عذاب ڏيڻ جو معاملو پوءِ بہ خدا پنهنجي هٿ ۾ رکيو. مديني جي منافقن سان ايتري سختي ڪئي وئي جو جڏهن انهن عذر پيش ڪيا تہ انهن جا عذر قبول نہ ڪيا ويا. ايستائين جو ثعلبہ بن حاطب انصاري منافقاڻو طريقو اختيار ڪرڻ کانپوءِ زڪوات پيش ڪئي تہ ان جي زڪوات وٺڻ کان انڪار ڪيو ويو. تڏهن بہ انهن مان ڪنهن کي بہ پاڻ ﷺ قتل نہ ڪرايو. عبدالله بن اُبي جي پٽ عبدالله پنهنجي پيءُ جي منافقاڻي حرڪت تي سخت ڪارروائي ڪرڻ گهري تہ پاڻ ﷺ کين روڪي ڇڏيو ۽ فرمايو: انهن کي ڇڏي ڏيو، خدا جو قسم جيستائين اُهي اسان جي وچ ۾ آهن، اسان انهن سان سٺو سلوڪ ڪنداسون (دعه فلعمري لنحسنن صحبته مادام بين اظهرنا- طبقات ابن سعد)

بعد جي زماني جي منافقن جي باري ۾ بہ اهو ئي حڪم آهي. پوءِ بہ ٻنهي جي وچ ۾ هڪ فرق آهي، دؤر اول جي منافقن سان انهن جي قلبي حالت جي بنياد تي معاملو ڪيو ويو، پر بعد جي منافقن سان انهن جي ظاهري حالت جي بنياد تي معاملو ڪيو ويندو. انهن سان درگذر ۽ اعراض جو سلوڪ رڳو ان وقت جائز هوندو، جڏهن انهن جي عمل مان انهن جي منافقت جو ظاهري ثبوت ملي رهيو هجي. انهن جي نيت يا انهن جي قلبي حالت جي ڪري انهن جي خلاف ڪا ڪارروائي نہ ڪئي ويندي. بعد جا ماڻهو عذر پيش ڪن تہ انهن جو عذر بہ قبول ڪيو ويندو ۽ ان سان گڏ انهن جا صدقا وغيره بہ. انهن جي انجام کي الله جي حوالي ڪندي انهن سان اِهوئي معاملو ڪيو ويندو جيڪو ظاهري قانون جي مطابق ڪنهن سان ڪرڻ گهرجي. جنت ڪنهن کي ذاتي عمل جي بنياد تي ملندي آهي نہ وري مسلمانن جي جماعت يا گروهہ ۾ شامل ٿيڻ جي بنياد تي. منافق سڀ جا سڀ مسلمانن جي جماعت ۾ شامل هئا ۽ هو انهن سان گڏ نماز ۽ روزا ادا ڪندا هئا، پر ان جي باوجود انهن جي جهنمي هئڻ جو اعلان ڪيو ويو.

اَلۡاَعۡرَابُ اَشَدُّ كُفۡرًا وَّ نِفَاقًا وَّ اَجۡدَرُ اَلَّا يَعۡلَمُوۡا حُدُوۡدَ مَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوۡلِهٖ ؕ وَ
اللّٰهُ عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ ﴿۹۷﴾ وَ مِنَ الۡاَعۡرَابِ مَنۡ يَّتَّخِذُ مَا يُنۡفِقُ مَغۡرَمًا وَّ يَتَرَبَّصُ بِكُمُ
الدَّوَآئِرَ ؕ عَلَيۡهِمۡ دَآئِرَةُ السَّوۡءِ ؕ وَ اللّٰهُ سَمِيۡعٌ عَلِيۡمٌ ﴿۹۸﴾ وَ مِنَ الۡاَعۡرَابِ مَنۡ يُّؤۡمِنُ
بِاللّٰهِ وَ الۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ وَ يَتَّخِذُ مَا يُنۡفِقُ قُرُبٰتٍ عِنۡدَ اللّٰهِ وَ صَلَوٰتِ الرَّسُوۡلِ ؕ اَلَاۤ اِنَّهَا
ع ١٢ قُرۡبَةٌ لَّهُمۡ ؕ سَيُدۡخِلُهُمُ اللّٰهُ فِىۡ رَحۡمَتِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۹۹﴾

ڳوٺن وارا ڪفر ۽ نفاق ۾ گهڻا سخت آهن ۽ ان ئي لائق آهن ته الله جيڪو پنهنجي رسول تي نازل ڪيو آهي ان جي حدن کان بي خبر رهن. ۽ الله سڀ ڪجهه ڄاڻڻ وارو آهي حڪمت وارو آهي ۽ ڳوٺاڻن مان اهڙا به آهن جيڪي خدا جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ کي ڇٽي سمجهن ٿا ۽ توهان جي لاءِ زماني جي گردش جي انتظار ۾ آهن. بُري گردش مٿن ئي آهي ۽ الله ٻڌڻ وارو ڄاڻڻ وارو آهي ۽ ڳوٺاڻن ۾ اُهي به آهن جيڪي الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکندا آهن ۽ جيڪو ڪجهه خرچ ڪندا آهن تنهن کي الله جو قرب ۽ رسول جي دعائن وٺڻ جو ذريعو بڻائيندا آهن. ها بيشڪ اهو سندن لاءِ قرب جو ذريعو آهي الله انهن کي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪندو. بيشڪ الله بخشڻ وارو مهربان آهي. ٩٧-٩٩

حديث ۾ اچي ٿو ته جنهن ڳوٺ ۾ رهڻ اختيار ڪيو، اُهو سخت مزاج ٿي ويندو (من سڪن البادية جفا). شهر ۾ علمي ماحول هوندو آهي، تعليمي ادارا قائم هوندا آهن، اُتي علم ۽ فن عام هوندو آهي. جڏهن ته ڳوٺن ۾ ماڻهن کي ان جا موقعا حاصل نه هوندا آهن. انهيءَ سان گڏ ڳوٺن جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي جا طريقا ۽ ان جا معاشي ذريعا به معمولي هوندا آهن. ان جو نتيجو اِهو ٿيندو آهي ته ڳوٺن جي ماڻهن ۾ گهرو شعور پيدا نه ٿيندو آهي. انهن جي طبيعت ۾ سختي ۽ انهن جي سوچڻ جي انداز ۾ گهرائي نه هوندي آهي، ان جي لاءِ مشڪل هوندو آهي ته هو دين جي نزاڪتن کي سمجهن ۽ ان کي اپنائن.

الله هر ڳالهه کي ڄاڻي ٿو ۽ انهيءَ سان گڏ هو حڪيم ۽ رحيم به آهي. هو ڳوٺ جي ماڻهن، ٻين لفظن ۾ عوام جي هن ڪمزوريءَ کان با خبر آهي ۽ پنهنجي حڪمت ۽ رحمت جي ڪري انهن کي پوري رعايت ڏيندو آهي. تنهن ڪري اهڙن ماڻهن سان خدا جو مطالبو اِهو نه آهي ته اُهي گهري معرفت ۽ اعليٰ دينداريءَ جو ثبوت ڏين. هو جيڪڏهن نيڪ نيت هجن ته خدا انهن کان سادي دينداري تي راضي ٿي ويندو.

عوام جي دينداري اِها آهي ته اُهي سچي دل سان خدا جو اقرار ڪن. پنهنجي اندر ان احساس کي تازو رکن ته آخرت جو هڪ ڏينهن اچڻ وارو آهي. هو پنهنجي ڪمائي جو هڪ حصو خدا جي راهه ۾ ڏين ۽ اِهو سمجهن ته اُن جي ذريعي انهن کي خدا جو قرب ۽ برڪت حاصل ٿيندي. هو خدا جي نمائندگي ڪرڻ واري پيغمبر کي خوش ڪري ان جون دعائون وٺڻ جا طالب هجن. اِها دينداري عوامي سطح جي آهي ۽ جيڪڏهن ماڻهوءَ جي نيت ۾ بگاڙ نه هجي ته ان جو خدا سندس سادي دين داري کي قبول ڪري وٺندو.

پر جيڪڏهن عوام ايئن ڪري جو اِها خدا جي حڪمن کان بلڪل غافل ٿي وڃي، انهن کي دين

سان ايتري لا تعلقي هجي جو دين جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ انهن کي ڇٽي محسوس ٿئي. اسلام جي ترقي سان انهن کي وحشت ٿيندي هجي ته بيشڪ هو معافي جي قابل نه آهن. عوام جي گهٽ سمجهه جي ڪري اُن کي اِها رعايت ته ضرور ڏئي سگهجي ته ان کان گهري دينداري جو مطالبو نه ڪيو وڃي. عوام جي گهٽ سمجهه جيڪڏهن سرڪشي ۽ اسلام سان بي وفائي جي صورت اختيار ڪري وٺي ته اُها ڪنهن به حال ۾ معافي جي قابل نه آهي.

وَ السّٰبِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ مِنَ الْمُهٰجِرِيْنَ وَ الْاَنْصَارِ وَ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُمْ بِاِحْسَانٍ ۙ رَّضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَ رَضُوْا عَنْهُ وَ اَعَدَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ تَحْتَهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَاۤ اَبَدًا ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ۝۱۰۰ وَ مِمَّنْ حَوْلَكُمْ مِّنَ الْاَعْرَابِ مُنٰفِقُوْنَ ۛؕ وَ مِنْ اَهْلِ الْمَدِيْنَةِ ۛؔ مَرَدُوْا عَلَى النِّفَاقِ ۫ لَا تَعْلَمُهُمْ ؕ نَحْنُ نَعْلَمُهُمْ ؕ سَنُعَذِّبُهُمْ مَّرَّتَيْنِ ثُمَّ يُرَدُّوْنَ اِلٰى عَذَابٍ عَظِيْمٍ ۝۱۰۱ ۚ

مع وقف منزل

۽ مهاجرن ۽ انصارن مان (ايمان) ۾ اڳرائي ڪرڻ وارا ۽ جن خوبيءَ سان انهن جي پيروي ڪئي، الله انهن کان راضي آهي ۽ اُهي اُن کان راضي آهن. ۽ الله انهن لاءِ اهڙا باغ تيار ڪري رکيا آهن جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون. اُهي منجهن هميشه رهندا. اِهائي وڏي ڪاميابي آهي. ۽ توهان جي آس پاس وارن بدوين مان ڪي منافق آهن ۽ مديني وارن ۾ به منافق آهن. اُهي نفاق تي ڄمي ويا آهن. تون ڪين نه ٿو ڄاڻين. اسين انهن کي ڄاڻون ٿا. اسين انهن کي ٻيڻو عذاب ڏينداسون، پوءِ اُهي هڪ عذابِ عظيم ڏانهن موڪليا ويندا. ۱۰۰-۱۰۱

---

خدا جي دين جي دعوت جڏهن به شروع ڪئي وڃي ته ٻن مان ڪا هڪ صورت پيش ايندي آهي. هڪ اها ته ماحول اُن جو دشمن ٿي ويندو آهي. اهڙي ماحول ۾ دين ڏانهن سڏڻ وارا اجنبي بڻجي ويندا آهن. اُهي پنهنجي وطن اندر بي وطن ڪيا ويندا آهن. اُهي ئي ماڻهو آهن جن کي مهاجر (ڇڏڻ وارا) چيو ويندو آهي. ٻي صورت اِها آهي ته جڏهن ماحول خدا جي دين جي دعوت لاءِ سازگار هجي، اهڙي ماحول ۾ جيڪي ماڻهو دين جا داعي ٿيندا آهن، انهن سان اِهو حادثو پيش نه ٿو اچي جو انهن جو سڀ ڪجهه انهن کان کسجي وڃي. اِهي ٻئي قسم جا ماڻهو جيڪڏهن ايئن ڪن جو هو پهرين قسم جي ماڻهن جو سهارو بڻجي بيهي رهن، ته اِهي ئي انصار (مدد ڪرڻ وارا) قرار ڏنا ويندا. مڪي جي شروع واري دؤر جي حالتن اُتي جي مسلمانن کي مهاجر بڻائي ڇڏيو ۽ مديني ۾ جيڪي حالتون هيون انهن اُتي جي مسلمانن کي انصار واري حيثيت ڏئي ڇڏي.

خدا جي رضامندي ۽ اُن جي جنت ڪنهن ماڻهوءَ کي يا ته مهاجر ٿيڻ جي قيمت تي ملندي آهي يا انصار ٿيڻ جي قيمت تي يا ته هو خدا جي لاءِ ايئن هڪ طرفو ٿئي جو دنيا اُن جي هٿن مان ڇڏائجي وڃي يا جيڪڏهن هو حيثيت وارو آهي ته پنهنجي مال سان مهاجرن واري جماعت جي مدد ڪري. پهرين دور جا مسلمان (صحابہ ڪرام) اُن هجرت ۽ نصرت جو ڪامل نمونو هئا. بعد جي مسلمانن ۾ جيڪي

ماڻهو ان هجرت ۽ نصرت جي معاملي ۾ پنهنجن اڳين جي تقليد ڪندا، اُهي بہ ان مقدس خدائي گروهہ ۾ شامل ٿيندا ويندا. خدا ڪجهہ ماڻهن کي محروم ڪندو آهي تہ انهن جي اندر عاجزي ۽ رجوع جو جذبو اڀري، اهڙي طرح خدا ڪجهہ ماڻهن کي محروميءَ کان بچائيندو آهي تہ جيئن هو محرومن جي مدد ڪري خدا جي لاءِ خرچ ڪرڻ وارا بڻجي وڃن. اِهو خدا جو منصوبو آهي. جيڪي ماڻهو ان جو ثبوت نہ ڏين اُهي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي خدا جي منصوبي تي راضي نہ ٿيا، ان ڪري خدا بہ آخرت جي ڏينهن انهن کان راضي نہ ٿيندو.

”هو الله کان راضي ٿي ويا“. يعني جنهن کي الله اِهڙين حالتن ۾ بيهاريو جو ان کي سڀ ڪجهہ ڇڏڻ جي قيمت تي دين کي اختيار ڪرڻو پيو، تڏهن بہ هُو ان ۾ ثابت قدم رهيو ۽ پنهنجو مال اهڙن ماڻهن کي ڏنو جن سان سندس تعلق رڳو مقصد جو هو نہ وري رشتيداري جو. تڏهن بہ هو اُن تي راضي رهيو آهي. وري اِهي ئي اُهي ماڻهو آهن جن الله جي خوشي حاصل ڪئي ۽ اِهي ئي اُهي ماڻهو آهن جيڪي جنت جي ابدي باغن ۾ داخل ڪيا ويندا.

منافق اُهو آهي جيڪو مسلمان هئڻ جي دعويٰ ڪري، پر جڏهن هجرت ۽ نصرت جي قيمت تي ديندار بنجڻ جو سوال پيدا ٿئي تہ ان جي لاءِ هو پاڻ کي راضي نہ ڪري سگهي.

وَ اٰخَرُوْنَ اعْتَرَفُوْا بِذُنُوْبِهِمْ خَلَطُوْا عَمَلًا صَالِحًا وَّ اٰخَرَ سَيِّئًا ؕ عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّتُوْبَ
عَلَيْهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٠٢﴾ خُذْ مِنْ اَمْوَالِهِمْ صَدَقَةً تُطَهِّرُهُمْ وَ تُزَكِّيْهِمْ بِهَا
وَصَلِّ عَلَيْهِمْ ؕ اِنَّ صَلٰوتَكَ سَكَنٌ لَّهُمْ ؕ وَ اللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿١٠٣﴾ اَلَمْ يَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ هُوَ
يَقْبَلُ التَّوْبَةَ عَنْ عِبَادِهٖ وَ يَاْخُذُ الصَّدَقٰتِ وَ اَنَّ اللّٰهَ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿١٠٤﴾ وَ قُلِ
اعْمَلُوْا فَسَيَرَى اللّٰهُ عَمَلَكُمْ وَ رَسُوْلُهٗ وَ الْمُؤْمِنُوْنَ ؕ وَ سَتُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ وَ
الشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٠٥﴾ وَ اٰخَرُوْنَ مُرْجَوْنَ لِاَمْرِ اللّٰهِ اِمَّا يُعَذِّبُهُمْ وَ
اِمَّا يَتُوْبُ عَلَيْهِمْ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿١٠٦﴾

ڪجهہ ٻيا ماڻهو آهن جن پنهنجن گناهن جو اعتراف ڪري ورتو. انهن گڏيل عمل ڪيا هئا، ڪجهہ چڱا ۽ ڪجهہ بُرا. اميد آهي تہ الله انهن تي توجهہ ڪري. بيشڪ الله بخشڻ وارو مهربان آهي. تون سندن مالن مان صدقو وٺ، ان سان تون انهن کي پاڪ ڪندين ۽ سندن تزڪيو ڪندين. تون انهن جي لاءِ دعا گهر. بيشڪ تنهنجي دعا انهن لاءِ تسڪين جوسبب آهي. الله سڀ ڪجهہ ٻڌڻ وارو ڄاڻڻ وارو آهي. ڇا اُهي نہ ٿا ڄاڻن تہ الله ئي پنهنجن ٻانهن جي توبهہ قبول ڪندو آهي. ۽ اُهو ئي صدقن کي قبول ڪندو آهي ۽ الله توبهہ قبول ڪرڻ وارو مهربان آهي. چؤ تہ عمل ڪريو، الله ۽ ان جو رسول ۽ ايمان وارا توهان جي عمل کي ڏسندا ۽ توهان جلد ان وٽ واپس موٽايا ويندؤ جيڪو ظاهر ۽ ڳجهہ کي ڄاڻي ٿو. هو توهان کي ٻڌائي ڇڏيندو جيڪو ڪجهہ توهان ڪري رهيا هئا. ڪجهہ ٻيا ماڻهو آهن جن جو معاملو اڃا خدا جي حڪم اچڻ تائين ترسيل آهي يا هو انهن کي سزا ڏيندو يا انهن جي توبهہ قبول ڪندو ۽ الله ڄاڻڻ وارو حڪمت وارو آهي. ١٠٢-١٠٦

ڪجھ اھڙا ماڻھو آھن جن جي طبيعتن ۾ جيتوڻيڪ شر نہ ھوندو آھي ۽ اُھي روزمره جا ديني عمل بہ ڪندا رھندا آھن، پر جڏھن دين جو ڪو اھڙو تقاضو سامھون ايندو آھي جنھن ۾ پنھنجي ٺھيل ٺڪيل نقشي کي ٽوڙي ديندار بڻجڻ جي ضرورت ھجي تہ ھُو پنھنجي زندگي ۽ مال کي اھڙي طرح دين جي لاءِ نہ ٽا ڏئي سگھن جھڙي طرح انھن کي ڏيڻ کپي. فيصلي جي قوت جي ڪمزوري يا دنيا ۾ انھن جي مشغوليت انھن جي لاءِ دين جي راھ ۾ پنھنجو حصو ادا ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي ويندي آھي. اِھڙا ماڻھو جيتوڻيڪ قصوروار ھوندا آھن، پوءِ بہ انھن جو قصور ان وقت معاف ڪيو ويندو آھي جڏھن ياد ڏيارڻ ڪانپوءِ ھو پنھنجي غلطي جو اعتراف ڪري وٺن ۽ شرمندگي جي احساس سان ٻيھر دين ڏانھن موٽي اچن.

اعتراف ۽ شرمندگيءَ جو ثبوت اِھو آھي تہ انھن جي اندر وري نئين سِر دين جي خدمت جو جذبو پيدا ٿئي ۽ ھُو پنھنجي گناھ جي احساس کي مٽائڻ جي لاءِ پنھنجي محبوب مال جو ھڪ حصو خدا جي راھ ۾ پيش ڪن. جڏھن انھن جي طرفان اھڙو ردعمل ظاھر ٿئي تہ پيغمبر کي چيو ويو آھي تہ ھاڻي انھن کي ملامت نہ ڪري بلڪ انھن کي نفسياتي سھارو ڏيڻ جي ڪوشش ڪري. انھن کي دعائون ڏي تہ جيئن انھن جي دل جو ڏک ٻيھر ايماني عزم ۽ اعتماد ۾ بدلجي وڃي.

خدا وٽ اصل برائي غلطي ڪرڻ نہ آھي، بلڪ غلطيءَ تي قائم رھڻ آھي. جيڪو ماڻھو غلطي ڪرڻ ڪانپوءِ اُن جا عذر ۽ بھانا ڳولڻ لڳي تہ ھو برباد ٿي ويو ۽ جيڪو ماڻھو غلطي کي مڃي، پنھنجي اصلاح ڪري وٺي تہ اھو خدا وٽ معافيءَ جي قابل آھي.

غلطي ڪرڻ ڪانپوءِ ماڻھو ھميشہ ٻن ممڪن ڳالھين جي وچ ۾ ھوندو آھي. ھڪ اِھا تہ ھو پنھنجي غلطيءَ کي مڃي وٺي. ٻي اِھا تہ ھُو بيحيائي ڪرڻ لڳي. جيڪو ماڻھو پنھنجي غلطيءَ کي مڃي وٺندو ان جي اندر عاجزي پيدا ٿيندي آھي. ھو ٻيھر خدا جي رحمتن جو مستحق بڻجي ويندو آھي. ان جي ابتڙ جيڪو ماڻھو بيحيائي جو طريقو اختيار ڪري، اُھو ڄڻ تہ خدا جي غضب جي رستي تي ھلي پوندو آھي. ھُو پاڻ کي بي خطا ثابت ڪرڻ جي لاءِ ڪوڙا عذر پيش ڪندو. ھڪ غلطي کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ ھو ٻيون گھڻيون غلطيون ڪندو رھندو. پھرين ماڻھو جي لاءِ خدا جي رحمت آھي ۽ ٻئي ماڻھو جي لاءِ خدا جي سزا.

وَ الَّذِيۡنَ اتَّخَذُوۡا مَسۡجِدًا ضِرَارًا وَّ كُفۡرًا وَّ تَفۡرِيۡقًاۢ بَيۡنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَ اِرۡصَادًا لِّمَنۡ
حَارَبَ اللّٰهَ وَ رَسُوۡلَهٗ مِنۡ قَبۡلُ ؕ وَ لَيَحۡلِفُنَّ اِنۡ اَرَدۡنَاۤ اِلَّا الۡحُسۡنٰى ؕ وَ اللّٰهُ يَشۡهَدُ اِنَّهُمۡ
لَكٰذِبُوۡنَ ﴿۱۰۷﴾ لَا تَقُمۡ فِيۡهِ اَبَدًا ؕ لَمَسۡجِدٌ اُسِّسَ عَلَى التَّقۡوٰى مِنۡ اَوَّلِ يَوۡمٍ اَحَقُّ اَنۡ
تَقُوۡمَ فِيۡهِ ؕ فِيۡهِ رِجَالٌ يُّحِبُّوۡنَ اَنۡ يَّتَطَهَّرُوۡا ؕ وَ اللّٰهُ يُحِبُّ الۡمُطَّهِّرِيۡنَ ﴿۱۰۸﴾ اَفَمَنۡ اَسَّسَ
بُنۡيَانَهٗ عَلٰى تَقۡوٰى مِنَ اللّٰهِ وَ رِضۡوَانٍ خَيۡرٌ اَمۡ مَّنۡ اَسَّسَ بُنۡيَانَهٗ عَلٰى شَفَا جُرُفٍ هَارٍ
فَانۡهَارَ بِهٖ فِىۡ نَارِ جَهَنَّمَ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يَهۡدِى الۡقَوۡمَ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۱۰۹﴾ لَا يَزَالُ بُنۡيَانُهُمُ الَّذِىۡ
بَنَوۡا رِيۡبَةً فِىۡ قُلُوۡبِهِمۡ اِلَّاۤ اَنۡ تَقَطَّعَ قُلُوۡبُهُمۡ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ ﴿۱۱۰﴾ ع ۱۳/۲

۽ انهن مان اهڙا به آهن جن هڪ مسجد نقصان پهچائڻ جي لاءِ ۽ ڪفر جي لاءِ ۽ ايمان وارن ۾ ڏڦيڙ وجهڻ جي لاءِ ۽ ان لاءِ ته هڪ مورچو ٺاهين ان ماڻهو جي لاءِ جيڪو اڳ ۾ ئي الله ۽ ان جي رسول سان وڙهي رهيو آهي. ۽ اِهي ماڻهو قسمَ کڻندا ته اسان ته رڳو ڀلائي چاهي هئي ۽ الله شاهد آهي ته هو ڪوڙا آهن. تون اُن عمارت ۾ ڪڏهن نه بيهجانءِ. البت جنهن مسجد جو بنياد پهرين ڏينهن کان تقويٰ تي آهي، اُها ان لائق آهي جو تون ان ۾ بيهين. اُن ۾ اهڙا ماڻهو آهن جيڪي پاڪ رهڻ کي پسند ڪندا آهن ۽ الله پاڪ رهڻ وارن کي پسند ڪندو آهي. ڇا اِهو شخص بهتر آهي جنهن پنهنجي عمارت جو بنياد الله جي ڊپ ۽ الله جي خوشنودي تي رکيو يا اُهو ماڻهو بهتر آهي جنهن پنهنجي عمارت جو بنياد ڪرنڊڙ ڪپر تي رکيو آهي، جيڪا هڪ کاهي جي ڪناري تي آهي جيڪا ڪرڻ تي آهي، پوءِ اُها عمارت ان کي کڻي جهنم جي باهه ۾ ڪري پئي. ۽ الله ظالم ماڻهن کي راهه نه ٿو ڏيکاري ۽ اِها عمارت جيڪا انهن ٺاهي سدائين انهن جي دلين ۾ شڪ جو بنياد بڻيل رهندي سواءِ ان جي جو سندن دليون ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃن. ۽ الله عليم ۽ حڪيم آهي. ١٠٧-١١٠

---

زندگيءَ جي تعمير جا ٻه بنياد آهن. هڪ تقويٰ ٻيو ظلم. پهرين صورت اِها آهي ته خدا جي خوف جي بنياد تي زندگي جي عمارت ٺاهي وڃي. ماڻهوءَ جون سڀ سرگرميون جنهن فڪر جي تحت هجن، اُهو فڪر اِهو هجي ته هُن کي پنهنجي هر قول ۽ فعل جو حساب هڪ اهڙي هستيءَ کي ڏيڻو آهي جيڪا ظاهر ۽ لڪيل کان باخبر آهي ۽ هر هڪ کي ان جي حقيقي ڪارنامن جي مطابق جزا يا سزا ڏيڻ واري آهي. اهڙو ماڻهو ڄڻ ته هڪ مضبوط جبل تي پنهنجي عمارت ٺاهي رهيو آهي. ٻي صورت اِها آهي ته ماڻهو اُن قسم جي خوف کان خالي هجي. هو دنيا ۾ بلڪل بي قيد زندگي گذاري. هُو ڪنهن پابندي کي قبول ڪرڻ جي بغير جيڪو چاهي ڳالهائي ۽ جيڪو چاهي ڪري. اهڙي ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو مثال ان عمارت جهڙو آهي جيڪا اِهڙي ڪَڏ جي ڪناري تي ٺاهي وئي آهي جيڪا ڄڻ ڪرڻ واري آهي ۽ اچانڪ هڪ ڏينهن ان جو گهر پنهنجن پاتين سان گڏ گِهري ڪَڏ ۾ ڪري پوندو.

جيڪي ماڻهو ظلم جي بنياد تي پنهنجي زندگي جي عمارت ٺاهيندا آهن، انهن جي ڌوهن مان سڀني کان وڏو ڌوهه اِهو آهي جنهن جو مثال مديني ۾ مسجدِ ضرار جي صورت ۾ سامهون آيو. ان وقت مديني ۾ ٻه مسجدون هيون. هڪ آبادي جي اندر مسجد نبوي، ٻي ان جي آس پاس مسجد قبا. منافق مسلمانن ان جي مقابلي تي هڪ ٽين مسجد تعمير ڪري ورتي، اهڙي قسم جي ڪارروائي جيتوڻيڪ دين جي نالي تي ٿيندي آهي، پر حقيقت ۾ ان جو مقصد اِهو هوندو آهي ته پنهنجي قيادت ۽ اڳواڻي کي قائم رکڻ جي لاءِ حق جي دعوت جي مخالفت ڪرڻ. جيڪي ماڻهو پنهنجي خود پرستي جي ڪري حق جي دعوت کي قبول نه ٿا ڪري سگهن، اُهي ان جي خلاف محاذ ٺاهيندا آهن، ان جي خلاف تخريبي ڪارروائيون ڪندا آهن. انهن جون منفي سرگرميون مسلمانن کي ٻن گروهن ۾ ورهائي ڇڏينديون آهن. اهڙا ماڻهو پنهنجي تخريبي عمل کي دين جي نالي تي ڪندا آهن، ايستائين جو هُو تسليم ڪيل دين جي مڃيل شخصيتن کي پنهنجي اسٽيج تي آڻڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته جيئن ماڻهن جي نظر ۾ انهن کي اعتماد حاصل ٿي وڃي.

اهي ماڻهو پنهنجي انڌي دشمنيءَ ۾ وساري ٿا ڇڏين ته حق جي مخالفت اصل ۾ خدا جي مخالفت آهي جيڪا خدا جي دنيا ۾ ڪڏهن به ڪامياب نٿي ٿي سگهي. اهڙن ماڻهن جي لاءِ جيڪا شيءِ مقدر

آهي، اُها رڳو اِها آهي تہ هو حسرت ۽ افسوس سان گڏ مرن ۽ الله جي رحمتن کان هميشہ جي لاءِ محروم ٿي وڃن.

اِنَّ اللّٰهَ اشۡتَرٰی مِنَ الۡمُؤۡمِنِیۡنَ اَنۡفُسَهُمۡ وَ اَمۡوَالَهُمۡ بِاَنَّ لَهُمُ الۡجَنَّةَ ؕ یُقَاتِلُوۡنَ فِیۡ سَبِیۡلِ اللّٰهِ فَیَقۡتُلُوۡنَ وَ یُقۡتَلُوۡنَ ۟ وَعۡدًا عَلَیۡهِ حَقًّا فِی التَّوۡرٰىةِ وَ الۡاِنۡجِیۡلِ وَ الۡقُرۡاٰنِ ؕ وَ مَنۡ اَوۡفٰی بِعَهۡدِهٖ مِنَ اللّٰهِ فَاسۡتَبۡشِرُوۡا بِبَیۡعِكُمُ الَّذِیۡ بَایَعۡتُمۡ بِهٖ ؕ وَ ذٰلِكَ هُوَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِیۡمُ ﴿۱۱۱﴾ اَلتَّآئِبُوۡنَ الۡعٰبِدُوۡنَ الۡحٰمِدُوۡنَ السَّآئِحُوۡنَ الرّٰكِعُوۡنَ السّٰجِدُوۡنَ الۡاٰمِرُوۡنَ بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَالنَّاهُوۡنَ عَنِ الۡمُنۡكَرِ وَ الۡحٰفِظُوۡنَ لِحُدُوۡدِ اللّٰهِ ؕ وَ بَشِّرِ الۡمُؤۡمِنِیۡنَ ﴿۱۱۲﴾

بيشڪ الله مؤمنن کان سندن جان ۽ سندن مال کي خريد ڪري ورتو آهي جنت جي بدلي. هو الله جي راهہ ۾ وڙهندا آهن. پوءِ ماريندا آهن ۽ ماربا آهن. هي الله جي ذمي هڪ سچو وعدو آهي، توريت ۾ ۽ انجيل ۾ ۽ قرآن ۾. ۽ الله کان وڌيڪ پنهنجي وعدي کي پورو ڪرڻ وارو ڪير آهي. تنهن ڪري خوش ٿيو اُن سودي تي جيڪو توهان الله سان ڪيو آهي. ۽ اِها ئي آهي سيني کان وڏي ڪاميابي. اُهي توبهہ ڪرڻ وارا آهن. عبادت ڪرڻ وارا آهن. سندس ساراهہ ڪرڻ وارا آهن. الله جي راهہ ۾ مسافري ڪرڻ وارا آهن. رڪوع ڪرڻ وارا آهن. سجدو ڪرڻ وارا آهن. ڀلائيءَ جو حڪم ڪرڻ وارا آهن. بُرائي کان روڪڻ وارا آهن. الله جي حدن جي حفاظت ڪرڻ وارا آهن. ۽ مؤمنن کي خوشخبري ڏي. ١١١-١١٢

---

الله جو مؤمن ٿيڻ خود کي الله وٽ وڪڻي ڇڏڻ آهي. ٻانهو پنهنجو مال ۽ پنهنجي زندگي الله کي ڏي ٿو، تہ جيئن الله اُن جي بدلي ۾ پنهنجي جنت اُن کي ڏئي ڇڏي. اِها اصل ۾ پاڻ کي حوالي ڪرڻ ۽ سپرد ڪرڻ جي تعبير آهي. ڪنهن بہ شيءِ سان حقيقي تعلق هميشہ پاڻ کي حوالي ڪرڻ ۽ سپرد ڪرڻ جي سطح تي قائم ٿيندو آهي. تعلق جو اِهو ئي درجو الله جي معاملي ۾ بہ گهربل آهي. جنت جون ابدي نعمتون ڪنهن کي ڪامل سپردگي کان سواءِ نٿيون ملي سگهن.

جڏهن ماڻهو خدا جي دين کي اهڙي طرح اختيار ڪندو آهي تہ دين جو معاملو اُن جي لاءِ ڪو عليحده معاملو نہ ٿو رهي، بلڪ اِهو اُن جي لاءِ اُن جو ذاتي معاملو بڻجي ٿو وڃي. هاڻي اُهوئي اُن جي دلچسپين ۽ اُن جي انديشن جو مرڪز هوندو آهي. دين جيڪڏهن مال جي تقاضا ڪري تہ هو پنهنجو مال اُن جي لاءِ حاضر ڪري ٿو ڇڏي. دين جي لاءِ پنهنجي وقت ۽ پنهنجي صلاحيت کي وقف ڪرڻو پئي تہ هو پنهنجي وقت ۽ پنهنجي صلاحيت کي اُن جي لاءِ پيش ڪري ٿو ڇڏي. ايستائين جو جيڪڏهن اِهو مرحلو اچي وڃي جڏهن پنهنجي وجود کي مٽائي يا مال کان بي مال ٿيڻ جو خطرو ڪٽي دين ۾ پنهنجو حصو ادا ڪرڻو هجي تہ هو اُن کان بہ نہ مڙي.

جيڪي ماڻهو اهڙي طرح پاڻ کي الله جي حوالي ڪن، انهن جي اندر ڪهڙي قسم جا انفرادي اوصاف پيدا ٿيندا آهن؟ انهن جي حساسيت ايتري بيدار ٿي ويندي آهي جو غلطي ٿيندي ئي هو اُن کي

چاڙي وٺندا آهن ۽ يڪدم پنهنجي غلطي کي مڃي وٺندا آهن. هو الله جي لاءِ عاجزي اختيار ڪرڻ وارا هوندا آهن. هو خدا جي عظمتن کي اهڙي طرح حاصل ڪري وٺندا آهن جو سندن قلب ۾ زبان مان بي اختيار اُن جو اظهار ٿيڻ لڳندو آهي. هو ”سائح“ بڻجي ويندا آهن. يعني انساني دنيا مان نڪري خدائي دنيا ۾ وڃڻ انهن جي لاءِ وڏيڪ سڪون جو سبب هوندو آهي. خدا جي اڳيان جُهڪڻ انهن جي لاءِ محبوب شيءِ بڻجي ويندو آهي. جيڪو به اُنهن سان ملي ٿو، ان کي ڀلائي جي رستي تي آڻڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پنهنجي سامهون ڪنهن کي بُرائي ڪندي ڏسندا آهن ته اُن کي روڪڻ جي لاءِ بيهي رهندا آهن. اُهي خدا جي حد بندين جي معاملي ۾ نهايت سجاڳ هوندا آهن. هو الله جي حدن جا اهڙي طرح نگهبان بڻجي ويندا آهن، جهڙي طرح باغائي پنهنجي باغ جو. اِهي ئي اُهي ماڻهو آهن جن جي لاءِ خدائي انعامن جي خوشخبري آهي.

خدا جي جنت سيني قيمتي شين کان به وڌيڪ قيمتي آهي، پر خدا جي جنت هڪ وعدو ڪيل انعام آهي. اِها نقد انعام نه آهي. جنت جي نقد نه ملڻ جو نتيجو اِهو آهي جو ماڻهو جنت کي ڇڏي حقير فائدن جي پويان ڀڄي رهيا آهن.

مَا كَانَ لِلنَّبِيِّ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَنْ يَّسْتَغْفِرُوْا لِلْمُشْرِكِيْنَ وَ لَوْ كَانُوْۤا اُولِيْ قُرْبٰى مِنْۢ بَعْدِ
مَا تَبَيَّنَ لَهُمْ اَنَّهُمْ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿۱۱۳﴾ وَ مَا كَانَ اسْتِغْفَارُ اِبْرٰهِيْمَ لِاَبِيْهِ اِلَّا عَنْ
مَّوْعِدَةٍ وَّعَدَهَاۤ اِيَّاهُ ۚ فَلَمَّا تَبَيَّنَ لَهٗۤ اَنَّهٗ عَدُوٌّ لِّلّٰهِ تَبَرَّاَ مِنْهُ ؕ اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ لَاَوَّاهٌ
حَلِيْمٌ ﴿۱۱۴﴾ وَ مَا كَانَ اللّٰهُ لِيُضِلَّ قَوْمًۢا بَعْدَ اِذْ هَدٰىهُمْ حَتّٰى يُبَيِّنَ لَهُمْ مَّا يَتَّقُوْنَ ؕ اِنَّ
اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۱۱۵﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ يُحْيٖ وَ يُمِيْتُ ؕ وَ مَا لَكُمْ
مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّ لَا نَصِيْرٍ ﴿۱۱۶﴾

نبي ۽ جن ماڻهن ايمان آندو آهي انهن لاءِ جائز نه آهي جو مشرڪن لاءِ بخشش جي دعا گهرن، چاهي هو انهن جا مٽ مائٽ ئي ڇو نه هجن، جڏهن ته مٿن ظاهر ٿي چڪو آهي ته اُهي جهنم ۾ وڃڻ وارا ماڻهو آهن. ۽ ابراهيم جو پنهنجي پيءُ لاءِ بخشش جي دعا گهرڻ رڳو اُن وعدي جي ڪري هو جيڪو هُن ساڻس ڪيو. پوءِ جڏهن اُن تي کلي ويو ته هو الله جو دشمن آهي ته هو اُن کان بي تعلق ٿي ويو. بيشڪ ابراهيم گهڻو نرم دل ۽ بردبار هو. ۽ الله ڪنهن قوم کي هدايت ڏيڻ کان پوءِ گمراهه نه ٿو ڪري جيستائين اُنهن کي صاف صاف اُهي (ڳالهيون) شيون نه ٻڌائي ڇڏي جن کانِ انهن کي بچڻ گهرجي. بيشڪ الله هر شيءِ جو علم رکي ٿو. الله ئي جي بادشاهي آهي آسمانن ۾ ۽ زمين ۾، اُهو ئي جيئاري ٿو ۽ اُهو ئي ماري ٿو. ۽ الله کان سواءِ توهان جو نه ڪو دوست آهي ۽ نه مددگار. ۱۱۳-۱۱۶

---

هڪ ماڻهو ڪافر يا مشرڪ هجي ۽ ان کي دين جي دعوت ڏني وڃي، ايستائين جو حجت پوري ٿي وڃي، ان جي باوجود هُو ايمان نه آڻي ته خدا جي قانون مطابق اُهو جهنمي ٿي ويندو آهي. اهڙي ماڻهو جي لاءِ اُن کانپوءِ نجات جي دعا گهرڻ جڻ ته ايمان کي بي اهميت بنائڻ ۽ خدائي انصاف جي ترديد ڪرڻ

آهي. اهوئي سبب آهي جو اهڙي دعا کان منع ڪيو ويو.

جيئن تہ آيت ۾ (مِن بعدِ ما تبيَّنَ) ۾ جو لفظ ٻڌائي ٿو تہ ان حڪم جو تعلق زماني رسالت جي مشرڪن سان آهي جن جي باري ۾ وحي جي ذريعي ٻڌايو ويو هو تہ اُهي جهنمي آهن. هنن آيتن جو پس منظر اِهو آهي تہ رسول اللهﷺ کي اِهو حڪم ڏنو ويو هو تہ پاڻﷺ منافقن جي جنازي جي نماز نہ پڙهن ۽ انهن جي حق ۾ مغفرت جي دعا نہ ڪن (التوبہ: ٨٤). اِها ڳالهہ مديني جي منافقن کي گهڻي ناگوار لڳي. انهن هِن ڳالهہ کي ڪٽي پاڻﷺ جي خلاف پروپيگنڊا شروع ڪري ڇڏي. هو چوندا هئا تہ هي نبي تہ رحمت جا نبي آهن ۽ پاڻ کي ابراهيمؑ جو پيروي ڪندڙ ٻڌائيندا آهن، پوءِ ڇا سبب آهي تہ مسلمانن کي پنهنجي پيارن ۽ مٽ مائٽن جي لاءِ بخشش گهرڻ کان روڪيندا آهن. حالانڪ ابراهيم- جو حال اهو هو تہ پنهنجي مشرڪ پيءُ جي لاءِ بہ انهن بخشش جي دعا گهري.

جواب ڏنو ويو تہ ابراهيم- گهڻو دردمند ۽ انسانيت جو غم رکندڙ هئا. پنهنجي ان جذبي جي ڪري انهن عهد ڪري ورتو هو تہ هو پنهنجي مشرڪ پيءُ جي حق ۾ خدا کان دعا گهرندا. پر جڏهن وحي جي ذريعي تنبيهہ ڪئي وئي تہ ان کان پوءِ هُو يڪدم ان کان باز اچي ويا.

الله هر ماڻهو جي اندر برائي جي فطري تميز رکي آهي. جڏهن ماڻهوءَ جي سامهون هڪ اهڙو پيغام ايندو آهي جيڪو ان کي برائي کان روڪي ٿو تہ ان جو وجود اندران ان جي تصديق ڪندو آهي. ان جي دل جي اندر هڪ ڪٽڪو پيدا ٿيندو آهي. ماڻهو جيڪڏهن ان ڪٽڪي کي نظر انداز ڪري ڇڏي، هُو فطرت جي شاهدي جي باوجود بچڻ واري شيءِ کان نہ بچي تہ ان جي فطري حساسيت ڪمزور ٿي ويندي آهي، ايستائين جو آهستي آهستي بلڪل مرده ٿي ويندي آهي. اِهائي اُها شيءِ آهي جنهن کي گمراهہ ڪرڻ سان تعبير ڪيو ويو آهي. ”هدايت ڏيڻ کانپوءِ گمراهہ ڪرڻ“ جا لفظ ٻڌائي رهيا آهن تہ اُن جو خطرو مسلمانن جي لاءِ بہ اهڙي ئي طرح آهي جهڙي طرح غير مسلمن جي لاءِ.

لَقَدۡ تَّابَ اللّٰهُ عَلَى النَّبِيِّ وَ الۡمُهٰجِرِيۡنَ وَ الۡاَنۡصَارِ الَّذِيۡنَ اتَّبَعُوۡهُ فِيۡ سَاعَةِ الۡعُسۡرَةِ
مِنۡۢ بَعۡدِ مَا كَادَ يَزِيۡغُ قُلُوۡبُ فَرِيۡقٍ مِّنۡهُمۡ ثُمَّ تَابَ عَلَيۡهِمۡ ؕ اِنَّهٗ بِهِمۡ رَءُوۡفٌ رَّحِيۡمٌ ﴿١١٧﴾
وَّ عَلَى الثَّلٰثَةِ الَّذِيۡنَ خُلِّفُوۡا ؕ حَتّٰۤى اِذَا ضَاقَتۡ عَلَيۡهِمُ الۡاَرۡضُ بِمَا رَحُبَتۡ وَ ضَاقَتۡ
عَلَيۡهِمۡ اَنۡفُسُهُمۡ وَ ظَنُّوۡۤا اَنۡ لَّا مَلۡجَاَ مِنَ اللّٰهِ اِلَّاۤ اِلَيۡهِ ؕ ثُمَّ تَابَ عَلَيۡهِمۡ لِيَتُوۡبُوۡا ؕ اِنَّ اللّٰهَ
ع ١٤ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيۡمُ ﴿١١٨﴾

الله نبي تي ۽ مهاجرين ۽ انصار تي توجهہ فرمائي جن تنگي جي وقت ۾ نبي جو ساٿ ڏنو، بعد ان جي تہ انهن مان ڪجهہ ماڻهن جون دليون لڏي وڃڻ تي هيون. پوءِ الله انهن تي توجهہ فرمائي. بيشڪ الله انهن تي مهربان آهي رحم ڪرڻ وارو آهي. ۽ انهن ٽن تي بہ ان توجهہ فرمائي جن جو معاملو مؤخر ڪيو ويو هو. ايستائين جو جڏهن زمين پنهنجي ڪشادگي جي باوجود انهن تي تنگ ٿي وئي ۽ اُهي خود پنهنجن جانين مان تنگ اچي ويا ۽ انهن سمجهي ورتو تہ الله کان بچڻ لاءِ خود الله کانسواءِ ٻي ڪا پناهہ جي جاءِ نہ آهي. پوءِ الله انهن ڏانهن موٽيو تہ جيئن هو ان ڏانهن موٽي اچن. بيشڪ الله توبهہ قبول ڪرڻ وارو رحم ڪرڻ وارو آهي. ١١٧-١١٨

غزوه تبوڪ جي موقعي تي هڪ گروهه اُهو هو جنهن پنهنجو بهترين مال ۽ اسباب اسلام جي حوالي ڪري ڇڏيو. انهن جا فصل لاباري لاءِ تيار هئا. پر هو انهن کي ڇڏي هڪ اهڙي سفر تي روانا ٿي ويا جنهن ۾ سخت گرمي ۾ ٿي سؤ ميل پنڌ ڪري وقت جي سپني ڪان وڏي طاقتور سلطنت سان مقابلو ڪرڻو هو. سامان جي ڪمي جو اِهو حال هو ته هڪ اُٺ تي ڪيترا ئي ماڻهو واري واري سان ويهندا هئا. کائڻ جي لاءِ ڪنهن وقت رڳو هڪ کجور هڪ ماڻهو جي حصي ۾ ايندي هئي. جيئن ته اِهو انتهائي سخت مرحلو رڳو ارادن جي امتحان لاءِ سامهون آندو ويو هو. جڏهن ارادو ڪرڻ وارن پنهنجي ارادي جو ثبوت ڏئي ڇڏيو ته خدا دشمن جي مٿان اِهڙو رعب وجهي ڇڏيو جو هو مقابلي جي ميدان کان هٽي ويا ۽ مسلمان رت وهائڻ کانسواءِ ڪامياب ۽ ڪامران ٿي واپس موٽي آيا.

ٻيو گروهه معترفين (التوبہ: ١٠٢) جو هو. اِهي ماڻهو پنهنجي دنيا جي مشغلن جي ڪري سفر تي روانا نه ٿي سگهيا. پر يڪدم پوءِ انهن کي محسوس ٿي ويو ته انهن غلطي ڪئي آهي. انهن جي اندر اعتراف ۽ شرمندگي جي باهه ٻري پئي. انهن جي ڳوڙهن جي ڪثرت انهن جي عمل جي ڪمي کي پورو ڪري ڇڏيو. خدا انهن کي به پنهنجي رحمتن جي پناهه ۾ جڳهه ڏئي ڇڏي. ڇاڪاڻ ته انهن عاجزي ڪئي ۽ پنهنجي غلطي کي مڃي ورتو هو.

ٽيون ڳروهه مخلّفين (التوبہ: ١١٨) جو هو. اُهي ٽي نوجوان ڪعب بن مالڪ، مرارة بن رُبيع، هلال بن اُميه هئا. اُهي جيتوڻيڪ سفر تي نه هلڻ کي پنهنجي ڪوتاهي سمجهندا هئا، پر انهن جي اندر توبهه ۽ رجوع جو احساس شروع ۾ ايترو شديد گهٽو نه هو جو گهربل معيار جي مطابق هجي. تنهن ڪري انهن سان سماجي بائيڪاٽ جو معاملو ڪيو ويو. اهي ماڻهو ان بائيڪاٽ جي باوجود مطمئن رهي پئي سگهيا. هو پنهنجي گهرن ۽ پنهنجن باغن ۾ مشغول ٿي پئي سگهيا. اُهي ناراضگي ۽ بيوفائي جي رستن تي هلڻ شروع ڪري پئي سگهيا، اُهي ناراض ڌر سان ملي پنهنجي عليحده جماعت بڻائي پئي سگهيا. اُهي عام مسلمانن کان الڳ پنهنجو هڪ جزيرو ٺاهي ان جي اندر پنهنجن خوشين جي دنيا ٺاهي پئي سگهيا. پر انهن ايئن نه ڪيو. خدا ۽ رسول کان پري ٿيڻ جي احساس انهن کي ايتري قدر پريشان ڪري ڇڏيو جو نه ٻاهر انهن کي ڪا سڪون جي جاءِ نظر ايندي هئي ۽ نه دل جي اندر انهن جي لاءِ سڪون جي ڪا جاءِ باقي رهي. ٻين لفظن ۾ انهن جي پريشاني وس کان ٻاهر ٿي بي وسي ۾ بدلجي وئي. انهن جي هِن حالت جو نتيجو اِهو نڪتو جو انهن جون دليون شل ٿي ويون. پنجاهه ڏينهن ۾ اُهي توبهه ۽ رجوع جي گهربل معيار تي پهچي ويا. ان کانپوءِ انهن کي به معاف ڪيو ويو.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ كُوۡنُوۡا مَعَ الصّٰدِقِيۡنَ ﴿۱۱۹﴾ مَا كَانَ لِاَهۡلِ الۡمَدِيۡنَةِ وَ مَنۡ
حَوۡلَهُمۡ مِّنَ الۡاَعۡرَابِ اَنۡ يَّتَخَلَّفُوۡا عَنۡ رَّسُوۡلِ اللّٰهِ وَ لَا يَرۡغَبُوۡا بِاَنۡفُسِهِمۡ عَنۡ
نَّفۡسِهٖ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ لَا يُصِيۡبُهُمۡ ظَمَاٌ وَّ لَا نَصَبٌ وَّ لَا مَخۡمَصَةٌ فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ وَ لَا
يَطَـُٔوۡنَ مَوۡطِئًا يَّغِيۡظُ الۡكُفَّارَ وَ لَا يَنَالُوۡنَ مِنۡ عَدُوٍّ نَّيۡلًا اِلَّا كُتِبَ لَهُمۡ بِهٖ عَمَلٌ

صَالِحٌ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٢٠﴾ وَلَا يُنْفِقُوْنَ نَفَقَةً صَغِيْرَةً وَّلَا كَبِيْرَةً وَّ
لَا يَقْطَعُوْنَ وَادِيًا اِلَّا كُتِبَ لَهُمْ لِيَجْزِيَهُمُ اللّٰهُ اَحْسَنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٢١﴾

اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو سچن ماڻهن سان گڏ رهو. مديني وارن ۽ آس پاس جي بدوين جي لاءِ مناسب نہ هو تہ هُو الله جي رسول کي ڇڏي پنٺتي ويهي رهن. ۽ نہ اِهو تہ پنهنجي جان کي ان جي جان کان عزيز رکن. اِهو ان ڪري تہ جيڪا اڃ، ٿڪ ۽ بک انهن کي خدا جي راهہ ۾ لڳندي آهي ۽ جيڪو قدم بہ اُهي ڪافرن کي رنج پهچائڻ لاءِ کڻندا آهن ۽ جيڪا بہ شيءِ اهي دشمنن کان کسيندا آهن، اُن جي بدلي ۾ سندن لاءِ هڪ نيڪي لکجي ويندي آهي. الله نيڪي ڪرڻ وارن جو اجر ضايع نہ ٿو ڪري. ۽ جيڪو ننڍو يا وڏو خرچ انهن ڪيو ۽ جيڪي ميدان انهن پار ڪيا، اُهي سڀ سندن لاءِ لکيا ويا تہ جيئن الله سندن عمل جو تمام چڱو بدلو ڏي. ١١٩-١٢١

---

انساني زندگي اجتماعي زندگي آهي. اِهوئي سبب آهي تہ هر ماڻهو جو پنهنجي ذوق ۽ رجحان جي لحاظ کان هڪ حلقو بڻجي ويندو آهي، جنهن ۾ هو پنهنجا صبح ۽ شام گذاريندو آهي. جيڪي ماڻهو الله کان ڊڄڻ وارا هجن ۽ ايمان جي رستي تي هلڻ گهرن انهن جي لاءِ لازمي آهي تہ اُهي پنهنجن صحبتن ۽ ملاقاتن جي لاءِ انهن ماڻهن کي چونڊين جيڪي سچا ماڻهو آهن. يعني جن جي دلين ۾ خدا جو خوف سندن زندگي جو ڍنگ ۽ طريقو بڻجي ويو هجي، جن جو عمل سندن قول جي مطابق هجي. سچن سان رهي ماڻهو سچو بڻجي ويندو آهي، ان جي ابتڙ جيڪڏهن هو ڪوڙن سان گڏ رهي تہ آخرڪار هو پاڻ بہ ڪوڙو بڻجي ويندو.

ماڻهو جي سامهون اهڙا موقعا ايندا آهن جڏهن جان کي خطري ۾ وجهي اسلام جي خدمت ڪرڻ جو سوال هجي، جڏهن بک ۽ اُڃ جو مقابلو ڪري اسلام جي لاءِ پنهنجو حصو ادا ڪرڻو هجي، جڏهن پاڻ کي ٿڪائي خدا جي راهہ ۾ اڳيان وڌڻو هجي، جڏهن دشمن جو خطرو ڪٽي پاڻ کي اسلام جي صف ۾ شامل ڪرڻو هجي، جڏهن پنهنجي پرسڪون زندگي کي ختم ڪري خدا ۽ رسول جو ساٿ ڏيڻو هجي. اهڙن موقعن تي ماڻهو احتياط ۽ بچاءُ جا طريقا اختيار ڪري پوئتي ويهي رهڻ کي پسند ڪري ٿو. ان کان وسري ٿو وڃي تہ اِهي ئي تہ اُهي موقعا آهن جڏهن هُو خدا سان پنهنجي تعلق جو عملي ثبوت پيش ڪري سگهي ٿو. جڏهن هو جنت جي لاءِ پنهنجي اميد واري کي خدا جي نظر ۾ قابل قبول ثابت ڪري سگهي ٿو.

غزوہ تبوڪ جي موقعي تي پوئتي رهجي وڃڻ وارن ۾ هڪ ابوخثيم انصاري بہ هئا. رسول الله ﷺ جي روانگي کانپوءِ هُو پنهنجي باغ ۾ ويا. اُتي خوشگوار ڇانو هئي، زال پاڻي ڇٽڪي زمين جي پَٽ کي ٿڌو ڪيو، فرش تي چادر وڇائي تازين ڪجين جا ڇڳا سامهون آڻي رکيا ۽ ٿڌو پاڻي پيئڻ جي لاءِ پيش ڪيو. ابوخيثم دنيا جي آسانين جي ڪري ئي تبوڪ جي سفر تي نہ وڃي سگهيا هئا. پر جڏهن وڃڻ وارن ۽ رهجي وڃڻ وارن جي وچ ۾ فرق اُن انتهائي نوبت کي پهچي ويو جيڪو هاڻي ان جي سامهون هو تہ ابوخيثم اُن کي برداشت نہ ڪري سگهيو. هن چيو: ”آئون هِتي باغ جي ڇانو ۾ آهيان ۽ خدا جا ٻانها ٻُک ۽ گرمي ۾ جبل ۽ رڻ ۾ هلي رهيا آهن“. هُن تلوار سنڀالي ۽ تيز رفتار ڏاچي تي سوار ٿي ان ئي وقت روانا ٿي ويا. ايستائين جو مٿي ۽ ڏوڙ ۾ لٽجي تبوڪ جي قافلي سان وڃي مليا.

وَ مَا كَانَ الْمُؤْمِنُوْنَ لِيَنْفِرُوْا كَآفَّةً ؕ فَلَوْ لَا نَفَرَ مِنْ كُلِّ فِرْقَةٍ مِّنْهُمْ طَآئِفَةٌ لِّيَتَفَقَّهُوْا
۱۵ ؏ فِي الدِّيْنِ وَلِيُنْذِرُوْا قَوْمَهُمْ اِذَا رَجَعُوْٓا اِلَيْهِمْ لَعَلَّهُمْ يَحْذَرُوْنَ﴿۱۲۲﴾

۽ اِهو مناسب نہ آهي تہ ايمان وارا سڀ گڏجي نڪري پون. پوءِ ايئن ڇو نہ ٿيو جو سندن جماعت مان هڪ ٽولو نڪري اچي تہ جيئن اُهو دين کي سمجهي ۽ واپس وڃي پنهنجي قوم جي ماڻهن کي خبردار ڪري تہ جيئن اُهي بہ پرهيزگار ٿين. ١٢٢

---

قرآن جي اِها آيت هڪ لحاظ کان ٿيندڙ صورتحال جي متعلق آهي ۽ ٻي لحاظ کان اُها هڪ حڪم کي ٻڌائي رهي آهي. هڪ پاسي اُها ٻڌائي ٿي تہ مديني جي آس پاس رهڻ وارن ڳوٺاڻن جي تعليم و تربيت ڪهڙي طرح ڪئي وڃي. ٻئي پاسي ان مان خبر پئي ٿي تہ اسلام جو تعليمي نظام ۽ نئين نسلن جي لاءِ ان جو تربيتي ڍانچو ڪهڙن اصولي بنيادن تي قائم ٿيڻ کپي.

تعليم هڪ اهڙو ڪم آهي جنهن ۾ ماڻهو کي ٻين مصروفيتن کان فارغ ٿي شامل ٿيڻو پوندو آهي. هاڻي جيڪڏهن سيئي ماڻهو هڪ ئي وقت تعليم جي ڪم ۾ لڳي وڃن تہ زندگيءَ جون ٻيون سرگرميون، مثلاً معاشي ڪوششون متاثر ٿي وينديون. اسلام جو اِهو طريقو نہ آهي تہ هڪ ڪم کي بگاڙي ٻيو ڪم انجام ڏنو وڃي، ان ڪري حڪم ڏنو ويو تہ وارابندي جو اصول مقرر ڪريو. ڪجھ ماڻهو تعليم جي مرڪز ۾ اچن تہ ڪجھ ٻيا ماڻهو ٻين سرگرمين کي سر انجام ڏين. اِهڙي طرح ٻئي ڪم هڪ ئي وقت ۾ ٿيندا رهندا.

هِن آيت ۾ تعليم جي لاءِ تفقہ في الدين جو لفظ آيو آهي. ان مان مراد عام فقهي تعليم نہ آهي جيڪا دين جي شڪل (بمقابلہ دين جي روح) جي تفصيلي علم جو نالو آهي ۽ جنهن جي نتيجي ۾ دين جو علم مسئلن جي علم جي هم معنيٰ بڻجي ويو آهي. هتي تفقہ في الدين جو مطلب خدا جي نازل ڪيل بنيادي دين جي ڄاڻ ۽ ان ۾ سمجھ حاصل ڪرڻ آهي. ان مان مراد اُهو علم آهي جيڪو حق شناسي پيدا ڪري جيڪو بنيادي حقيقتن کان ماڻهو کي باخبر ڪري ۽ آخرت جي بنيادن تي زندگي جي تعمير ڪرڻ سيکاري.

آيت ۾ تفقہ في الدين (دين جي تعليم) جو مقصد اِهو ٻڌايو ويو آهي تہ ماڻهو قوم جي مٿان انذار جو ڪم ڪرڻ جي قابل ٿي سگهي. انذار جي معنيٰ آهي ڊيڄارڻ. قرآن ۾ اُهو لفظ آخرت جي مسئلي کان ڊيڄارڻ ۽ هوشيار ڪرڻ جي لاءِ آيو آهي. ان مان معلوم ٿيو تہ اسلامي تعليم سان اهڙا فرد تيار ٿين جيڪي قومن جي مٿان خدا جي طرفان ڊيڄاريندڙ (منذر) بڻجي بيهي سگهن، تہ جيئن ماڻهو خدا کان ڊڄن ۽ دنيا جي زندگي ۾ انهن طريقن کان بچن جيڪي انهن کي آخرت جي ابدي عذاب ڏانهن وٺي وڃڻ وارا هجن. اسلامي تعليم دعوت اِلي الله جي تعليم جو نالو آهي نہ وري معروف معنيٰ ۾ رڳو فقهي مسائل يا شرعي جزئيات جي تعليم جو.

ان لحاظ کان اسلامي تعليم جو نصاب ٻن خاص شين تي مشتمل ٿيڻ کپي:

١- قرآن ۽ سنت

۲- اهو علم جيکو مدعو (ٻڌندڙ) جي نسبت سان ضروري هجي. مثلاً مخاطب جي زبان، ان جو طرز فکر ۽ ان جي نفسيات، وغيره.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا قَاتِلُوا الَّذِيۡنَ يَلُوۡنَكُمۡ مِّنَ الۡكُفَّارِ وَ لۡيَجِدُوۡا فِيۡكُمۡ غِلۡظَةً ؕ وَ
اعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الۡمُتَّقِيۡنَ ﴿۱۲۳﴾ وَ اِذَا مَاۤ اُنۡزِلَتۡ سُوۡرَةٌ فَمِنۡهُمۡ مَّنۡ يَّقُوۡلُ اَيُّكُمۡ زَادَتۡهُ
هٰذِهٖۤ اِيۡمَانًا ۚ فَاَمَّا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا فَزَادَتۡهُمۡ اِيۡمَانًا وَّ هُمۡ يَسۡتَبۡشِرُوۡنَ ﴿۱۲۴﴾ وَ اَمَّا الَّذِيۡنَ فِيۡ
قُلُوۡبِهِمۡ مَّرَضٌ فَزَادَتۡهُمۡ رِجۡسًا اِلٰى رِجۡسِهِمۡ وَ مَاتُوۡا وَ هُمۡ كٰفِرُوۡنَ ﴿۱۲۵﴾ اَوَ لَا يَرَوۡنَ
اَنَّهُمۡ يُفۡتَنُوۡنَ فِيۡ كُلِّ عَامٍ مَّرَّةً اَوۡ مَرَّتَيۡنِ ثُمَّ لَا يَتُوۡبُوۡنَ وَ لَا هُمۡ يَذَّكَّرُوۡنَ ﴿۱۲٦﴾ وَ اِذَا مَاۤ
اُنۡزِلَتۡ سُوۡرَةٌ نَّظَرَ بَعۡضُهُمۡ اِلٰى بَعۡضٍ ؕ هَلۡ يَرٰىكُمۡ مِّنۡ اَحَدٍ ثُمَّ انۡصَرَفُوۡا ؕ صَرَفَ اللّٰهُ
قُلُوۡبَهُمۡ بِاَنَّهُمۡ قَوۡمٌ لَّا يَفۡقَهُوۡنَ ﴿۱۲۷﴾

اي ايمان وارؤ! انهن ڪافرن سان جنگ ڪريو جيڪي توهان جي آس پاس آهن ۽ کپي ته هُو توهان جي اندر سختي ڏسن ۽ ڄاڻي وٺو ته الله پرهيز گارن سان گڏ آهي. ۽ جڏهن ڪا سورة نازل ٿيندي آهي ته انهن مان ڪجھ چوندا آهن ته هِن توهان مان ڪنهن جي ايمان کي وڌايو. پوءِ جيڪي ايمان وارا آهن انهن جو اُن ايمان وڌائي ڇڏيو ۽ اُهي خوش ٿي رهيا آهن. ۽ جن ماڻهن جي دلين ۾ بيماري آهي ته ان وڌائي ڇڏي انهن جي پليتيءَ تي پليتي. ۽ اُهي مرڻ تائين ڪافر ئي رهيا. ڇا اِهي ماڻهو ڏسن نه ٿا ته اُهي هر سال هڪ دفعو يا ٻه دفعا آزمائش ۾ مبتلا ڪيا ويندا آهن، پر پوءِ به نه توبھ ڪندا آهن ۽ نه سبق حاصل ڪندا آهن. ۽ جڏهن ڪا سورة نازل ڪئي ويندي آهي ته اُهي ماڻهو هڪٻئي ڏانهن ڏسندا آهن ته ڪو ڏسي ته نه رهيو آهي، پوءِ هليا ويندا آهن. الله سندن دلين کي ڦيري ڇڏيو آهي اُن ڪري جو اِهي سمجھ کان ڪم وٺڻ وارا ماڻهو نه آهن. ۱۲۳-۱۲۷

---

”ويجهن منڪرن سان جنگ ڪريو“. اِهي لفظ ٻڌائين ٿا ته اسلامي جدوجهد ڪا بي منصوبه جدوجهد نه آهي بلڪ ان ۾ ترتيب جو خيال رکڻ ضروري آهي. پهرين ويجهن رنڊڪن تي قابو پائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ۽ ان ڪانپوءِ پري جي رڪاوٽن ڏانهن توجه ڪبي. اُن مان اِها ڳالھ به نڪري ٿي ته سڀ کان پهرين مجاهدو خود پنهنجي نفس سان ڪرڻ کپي. ڇاڪاڻ ته ماڻهوءَ کي سيني کان ويجهو سندس نفس هوندو آهي. ٻاهرين دشمنن جو وارو ان کان پوءِ ايندو آهي. پوءِ اسلام جي دشمنن سان به جيڪا شيءِ پهرين ڪرڻ مطلوب آهي، اُها سختي (غلظ) آهي. يعني اُها مضبوطي ۽ قوت جيڪا دشمن جي لاءِ رعب جو سبب بڻجي وڃي (اذ کان ذلک يوقع المهابة لنا في صدورهم والرعب في قلوبهم- تفسير جصاص)

ان لاءِ ضروري آهي ته دشمنن سان مقابلي جي سڄي ڪارروائي تقويٰ جي بنياد تي ڪئي وڃي. تقويٰ (خدا جي خوف) جي روش ئي مسلمانن جي لاءِ خدا جي مدد جي ضمانت آهي. تقويٰ کان هٽندي ئي اهي خدا جي مدد کان محروم ٿي ويندا. هو خدا کان پري ٿي ويندا ۽ خدا انهن کان.

تقويٰ جڻ ته ٻانهي ۽ خدا جي وچ ۾ ملاقات جو مقام آهي.جڏهن ماڻهو خدا کان ڊڄندو آهي ته

هُو پنهنجي پاڻ کي ان مقام تي آڻيندو آهي جتي خدا ان کي ڏسڻ چاهي ٿو. جتي خدا ان کي سڏايو آهي. اهڙي حالت ۾ تقويٰ ئي ماڻهن کي خدا جي ويجهو ڪرڻ واري بڻجي سگهي ٿي نہ وري ڪا ٻي شيءِ. جڏهن خدا ٻانهي کي متقي جي روپ ۾ ڏسڻ چاهي ٿو تہ هُو ان ٻانهي ڏانهن ڪيئن توجه ڪندو جيڪو غير متقي جي روپ ۾ ان جي سامهون اچي.

قرآن پنهنجي اِها خاصيت بيان ڪئي آهي تہ ان جي آيتن کي ٻڌي مؤمنن جي ايمان ۾ اضافو ٿيندو آهي. پر ايمان ۾ اضافي جو تعلق ماڻهوءَ جي پنهنجي قلبي صلاحيت تي آهي نہ وري رڳو آيتن کي ٻڌي وٺڻ تي. ڏيڍ هزار سال پهرين جڏهن قرآن لٿو تہ ان جا لفظ اجا رڳو لفظ هئا، اُهي تاريخي واقعو نہ بڻيا هئا. ان وقت قرآن جي اهميت کي رڳو اُهي ئي ماڻهو سمجهي سگهندا هئا جيڪي حقيقت کي ان جي مجرد (تنها) صورت ۾ ڏسڻ جي صلاحيت رکندا هجن. ظاهر پرست منافقن جي اندر اها صلاحيت نہ هئي. انهن کي قرآن جا لفظ رڳو لفظ ڏسڻ ۾ پئي آيا. انهن کي سمجهہ ۾ نہ ايندو هو تہ ڪجهہ لفظن جو مجموعو ڪنهن جي يقين ۽ اعتماد ۾ اضافي جو سبب ڪيئن بڻجي ويندو. جڏهن بہ ڪا نئين آيت نازل ٿيندي هئي تہ هو اِهو چئي ان جو مذاق اڏاريندا هئا تہ عربيءَ جي انهن لفظن توهان مان ڪنهن جي ايمان ۾ اضافو ڪيو.

هِن ڳالهہ کي ماڻهو ان وقت تائين سمجهي نہ ٿو سگهي، جيستائين هو تاريخ کي هٽائي قرآن کي ان جي مجرد روپ ۾ ڏسڻ جي نظر نہ پيدا ڪري. اڄ ”قرآن“ جي لفظن سان گڏ اهي سڀ تاريخي عظمتون شامل ٿي ويون آهن جيڪي قرآن جي نازل ٿيڻ وقت موجود نہ هيون ۽ پوءِ هزار سالن کان وڌيڪ جي عرصي ۾ ان سان گڏ جمع ٿي ويون.

پر قرآن جي نازل ٿيڻ واري زماني ۾ قرآن جي حيثيت هڪ مجرد ڪتاب جي هئي. ان وقت جو ظاهر پرست انسان ان کي رڳو هڪ ”ڪتاب“ جي روپ ۾ ڏسندو هو نہ وري تاريخ ساز صحيفي جي روپ ۾. اُهي ماڻهو جيڪي قرآن کي اُن جي لڪيل عظمت سان گڏ ڏسي رهيا هئا ۽ جڏهن هُو قرآن مان غير معمولي اثر قبول ڪندا هئا تہ ظاهر پرستن کي سمجهہ ۾ نہ ايندو هو ۽ اُهي چوندا هئا تہ آخر هِي هڪ ڪتاب ئي تہ آهي. پوءِ هڪ لفظي مجموعي ۾ اُها ڪهڙي خاص ڳالهہ آهي جو ماڻهو ان کان ايتري قدر متاثر ٿي رهيا آهن.

خدا اهڙن ماڻهن کي باربار مختلف قسمن سان آزمائيندو آهي تہ جيئن انهن جي دل جي حساسيت وڌي ۽ اُهي ڳالهين کي زياده گهرائي سان سمجهڻ جي قابل ٿي وڃن. پر جڏهن ماڻهو خود نصيحت نہ وٺڻ چاهي تہ ڪا ٻاهرين شيءِ ان جي نصيحت جي لاءِ ڪافي نہ ٿي ٿي سگهي. نصيحت واري ڪا ڳالهہ سامهون اچي ۽ ماڻهو ان کي نظر انداز ڪري ڇڏي تہ ان جو اِهو عمل ان کي نصيحت جي معاملي ۾ بي حس بڻائي ڇڏي ٿو.

”اُهي هر سال هڪ ڀيرو يا ٻہ ڀيرا آزمائش ۾ وڌا ويندا آهن، پر اُهي نہ توبهہ ڪندا آهن ۽ نہ سبق حاصل ڪندا آهن“. هتي آزمائش مان مراد ڏڪار، بيماريون، بک وغيره ۾ مبتلا ڪيو وڃڻ آهي. اهڙي قسم جون آفتون ماڻهن جي زندگيءَ ۾ بار بار پيش اينديون آهن، پر هو انهن مان توبهہ ۽ عبرت جي غذا نہ ٿو وٺي. توبهہ حقيقت ۾ تذڪّر (نصيحت) جي نتيجي جو ٻيو نالو آهي.

هر ماڻهو سان ايئن ٿيندو آهي ته سال ۾ هڪ دفعو يا ٻه دفعا ڪجهه غير معمولي واقعا پيش ايندا آهن. اِهي واقعا خدائي حقيقتن ڏانهن اشارو ڪرڻ وارا هوندا آهن. ڪڏهن اِهي خدا جي مقابلي ۾ انسان جي بي وسي جي ياد ڏياريندا آهن، ڪڏهن اِهي آخرت جي مقابلي ۾ موجوده دنيا جي بي حيثيت هجڻ کي ظاهر ڪندا آهن. اهڙا موقعا ماڻهوءَ جي لاءِ ان ڳالهه جو امتحان هوندا آهن ته هو انهن کي پنهنجي لاءِ سبق بڻائي مادي واقعن ۾ غير مادي حقيقتن کي ڏسي وٺي.

سبق وٺڻ واري شيءِ مان ماڻهو سبق ڇو نه ٿو وٺي سگهي، ان جو سبب اِهو آهي جو هو هڪ شيءِ کي ٻي شيءِ سان جوڙي نه ٿو سگهي. دنيا جي واقعن مان سبق وٺڻ جي لاءِ اِها صلاحيت گهربل آهي ته ماڻهو هڪ ڳالهه کي ٻي ڳالهه سان جوڙي ان جي حقيقت کي ڏسڻ جو هنر ڄاڻندو هجي. هُو ظاهري واقعي کي لڪيل حقيقت سان ملائي ڏسي سگهي. هُو پيش اچڻ واري شيءِ جي آئيني ۾ ان شيءِ کي پڙهي سگهي جيڪا اڃا سامهون نه آئي آهي.

لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٢٨﴾ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُلْ حَسْبِيَ اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَهُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ﴿١٢٩﴾ ع ١٦

توهان وٽ هڪ رسول آيو آهي جيڪو خود توهان منجهان آهي. توهان جو نقصان ۾ پوڻ ان جي لاءِ ڏکوئيندڙ آهي. هو توهان جي ڀلائي لاءِ نهايت حريص آهي. ايمان وارن تي ڏاڍو شفيق ۽ مهربان آهي. پوءِ به جيڪڏهن اُهي منهن ڦيرائين ته چئي ڇڏ ته منهنجي لاءِ الله ڪافي آهي. ان ڪانسواءِ ڪو معبود نه آهي. ان تي ئي مون ڀروسو ڪيو ۽ اُهو ئي مالڪ آهي عرش عظيم جو. ١٢٨-١٢٩

---

هِن آيت ۾ رسول الله ﷺ جي ذات جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اسلام جي سچي جدوجهد ۾ انهن جو سڄو اعتماد صرف ۽ صرف الله تي هو. هُو ماڻهن کي جنهن خدا ڏانهن سڏڻ جي لاءِ اٿيا آهن، اُهو اِهڙو خدا آهي جيڪو سڄي اقتدار جو مالڪ آهي. سيني خزانن جون ڪُنجيون ان وٽ آهن. رسول ان ئي ايمان ۽ يقين جي زمين تي بيٺو آهي. ان ڪري اِهو بلڪل فطري آهي ته ان جو سڄو ڀروسو رڳو هڪ خدا تي هجي. هُو هر قسم جي مصلحتن ۽ انديشن کان بي پرواهه ٿي ڪري حق جي خدمت ۾ لڳو رهي.

پوءِ اِهو به ٻڌايو ويو ته خدا جو رسول ﷺ ماڻهن جي حق ۾ حد کان وڌيڪ شفيق ۽ مهربان آهي. هُو ٻين جي تڪليفن تي اهڙي طرح ڪڙهندو آهي ڄڻ ته اُها تڪليف خود اُن جي مٿان پئي هجي. هُو حرص جي حد تائين ماڻهن جي هدايت جو طالب آهي. حق جي دعوت واري جدوجهد جي لاءِ ان کي جنهن شيءِ متحرڪ ڪيو آهي، اُها سراسر خير خواهي جو جذبو آهي نه وري ڪو شخصي حوصلو يا قومي مسئلو. پاڻ ﷺ ماڻهن جي ڀلائي لاءِ اٿيا آهن نه وري پنهنجي ذاتي ڀلائي جي لاءِ.

عبدالله بن مسعود کان روايت آهي ته پاڻ ﷺ فرمايو: ماڻهو پروانن وانگر باهه ۾ ڪِري رهيا آهن ۽ آئون انهن جي چيلهه مان جهلي انهن کي باهه ۾ ڪرڻ کان روڪي رهيو آهيان (الا واني آخذ بحجزکم ان تهافتوا في النار کتهافت الفراش والذباب- مسند احمد)

رسولﷺ جي اُن سيرت ۾ حق جي داعي جي تصوير هميشھ جي لاءِ ٻڌائي وئي آهي. ان مان معلوم ٿيندو آهي تہ اسلام جي داعي اندر ٻہ خاص صفتون نمايان طور تي هئڻ کپن. هڪ اِها تہ ان جو ڀروسو رڳو هڪ الله تي هجي. ٻيو اِهو تہ مدعو (ٻڌندڙ) جي لاءِ ان جي دل ۾ رڳو محبت ۽ خيرخواهي جو جذبو هجي، ان ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ نہ هجي. جيتوڻيڪ مدعو جي طرفان طرح طرح جون شڪايتون پيش اينديون آهن. ان جي ۽ داعيءَ جي وچ ۾ قومي ۽ مادي جهيڙا بہ ٿي سگھندا آهن. اُنهن سڀني جي باوجود اُهو گهربل آهي تہ داعي انهن سڀني شين کي نظر انداز ڪري ۽ مدعو جي لاءِ رحمت ۽ مهرباني ڪانسواءِ ٻيو ڪو جذبو پنهنجي اندر پيدا نہ ٿيڻ ڏي.

داعي کي ردِ عمل جي نفسيات کان بلند ٿيڻو پوندو آهي. ان کي هڪ طرفو ايئن ڪرڻو پوندو آهي جو هُو مدعو جو خيرخواهہ بڻجي، چاهي مدعو ان جي خلاف ڪيترو ئي قابل شڪايت رويو ڇو نہ اختيار ڪيو هجي. داعي خدا جي لاءِ جيئندو آهي ۽ مدعو پنهنجي ذات جي لاءِ.

اسلام جي شروع ۾ جن ماڻهن رسول اللهﷺ جو ساٿ ڏنو، انهن جي لاءِ پاڻﷺ جو ساٿ ڏيڻ پنهنجي ٺهيل ٺڪيل زندگي کي اجاڙڻ جي هم معنيٰ بڻجي ويو. ان ڪري ڪجھ ماڻهن جي اندر اِهو خيال پيدا ٿيو تہ رسولﷺ اسان جي لاءِ مصيبت بڻجي آيو آهي. پر هِي اُهائي ڳالھ آهي جيڪا عين گهربل آهي. حق جي دعوت ان ڪري بلند ٿيندي آهي جو ماڻهن کي ٻڌايو وڃي تہ انهن جي قوتن ۽ صلاحيتن جو استعمال آخرت جي دنيا آهي نہ وري موجوده دنيا. ان ڪري جيڪڏهن رسولﷺ جو آندل دين اختيار ڪرڻ ۾ دنيا جو نقشو بگڙجندي نظر اچي تہ ان تي ماڻھو کي مطمئن رهڻ کپي، ڇاڪاڻ تہ ان جو مطلب اِهو آهي تہ ان جي اثاثن کي خدا آخرت جي لاءِ قبول ڪري ورتو آهي.

آياتها ١٠٩ (١٠) سُوۡرَةُ يُونُسَ مَكِّيَّةٌ (٥١) رڪوعاتها ١١

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الٓرٰ ۚ تِلۡكَ اٰيٰتُ الۡكِتٰبِ الۡحَكِيۡمِ ۝١ اَكَانَ لِلنَّاسِ عَجَبًا اَنۡ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلٰى رَجُلٍ مِّنۡهُمۡ اَنۡ
اَنۡذِرِ النَّاسَ وَ بَشِّرِ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَنَّ لَهُمۡ قَدَمَ صِدۡقٍ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ ؔ قَالَ الۡكٰفِرُوۡنَ
اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ مُّبِيۡنٌ ۝٢

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

الف-لام- را. هِي حڪمت واري ڪتاب جون آيتون آهن. ڇا ماڻهن کي ان تي حيرت آهي تہ اسان منجهائن ئي هڪ شخص تي وحي ڪئي تہ ماڻهن کي ڊيڄار ۽ جيڪي ايمان آڻين انهن کي خوشخبري ڏي تہ انهن لاءِ سندن رب وٽ سچو مرتبو آهي. منڪرن چيو تہ هي شخص تہ پڌرو جادوگر آهي. ١-٢

---

پيغمبر جي ڳالھ انتهائي مضبوط دليلن تي مشتمل هوندي آهي. هو پنهنجي غير معمولي انداز

جي ڪري خود هِن ڳالهه جو ثبوت هوندو آهي تہ هو خدا جي طرفان ڳالهائي رهيو آهي. اُن جي باوجود هر زماني ۾ ماڻهن پيغمبر جو انڪار ڪيو. ان جو سبب انسان جي ظاهر پرستي آهي. پيغمبر پنهنجي زماني جي ماڻهن جي نظر ۾ عام انسانن وانگر رڳو هڪ انسان هوندو آهي. ان سان گڏ اجا عظمت جي اُها تاريخ نہ جڙي هوندي آهي جيڪا بعد جي زماني ۾ ان جي نالي سان وابستہ ٿي ويندي آهي. ان ڪري پيغمبر جي زماني جا ماڻهو پيغمبر کي رڳو هڪ انسان سمجهي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن. اُهي پيغمبر کي نہ خدا جي موڪليل جي حيثيت ۾ ڏسي سگهندا آهن ۽ نہ مستقبل ۾ ٺهڻ واري تاريخ جي لحاظ کان ان جو اندازو ڪري سگهندا آهن. جڏهن هر ماڻهو ان جي پيغمبر واري عظمت کي مڃڻ تي مجبور هوندو.

پيغمبر جي ڳالهه اثر رکندڙ هوندي آهي جيڪا ٻڌڻ واري کي لاجواب ڪري ڇڏيندي آهي. پر منڪر ان جي اهميت کي گهٽائڻ جي لاءِ اهو چئي ڇڏيندا آهن تہ اِهو جادوئي ڪلام آهي. هو دليل جي ميدان ۾ پاڻ کي عاجز ڏسي ان تي عيب لڳائڻ شروع ڪندا آهن. اهڙي طرح هو پيغمبر جي ڪلام جي صداقت کي مشڪوڪ بڻائيندا آهن. پيغمبر جو ڪلام جن ماڻهن جي ذهن کي فتح ڪري رهيو آهي، انهن جي باري ۾ اِهو تاثر ڏيندا آهن تہ اُهي رڳو پنهنجي سادگي جي ڪري ان ڪلام کان متاثر ٿيا آهن، نہ تہ اِهو سچو معاملو لفظن جي فريب کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. اِها زبان جي جادوگري آهي نہ وري ڪا اهم شيءِ.

پيغمبر جو اصل مشن ڊيڄارڻ ۽ خوشخبري ڏيڻ هوندو آهي، يعني خدا جي پڪڙ کان ڊيڄارڻ ۽ جيڪي ماڻهو خدا کان ڊڄي دنيا ۾ رهڻ جي لاءِ تيار هجن. انهن کي جنت جي خوشخبري ڏيڻ. پيغمبر ان ڪري ايندو آهي تہ ماڻهن کي ان حقيقت کان آگاهہ ڪري تہ ماڻهو هِن دنيا ۾ آزاد ۽ خود مختيار نہ آهن ۽ نہ وري زندگي جو قصو ماڻهو جي موت سان گڏ ختم ٿي وڃڻ وارو آهي، بلڪ موت کانپوءِ هميشہ واري زندگي آهي ۽ ماڻهو کي سيني کان وڌيڪ اُن جو فڪر ڪرڻ گهرجي. جيڪو ماڻهو غافل رهندو يا سرڪشي اختيار ڪندو، اُهو موت کان پوءِ واري دنيا ۾ ان حال ۾ پهچندو جو اُتي ان جي لاءِ ڏک کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ هوندو.

ظاهر پرست انسان هميشہ اِهو سمجهندو رهيو آهي تہ عزت ۽ ترقي ان ماڻهو جي لاءِ آهي جنهن وٽ دنيا جو اقتدار آهي جيڪو دنيا جي دولت جو مالڪ آهي. پيغمبر ٻڌائيندو آهي تہ اِهو سراسر دوکو آهي. اِها عزت ۽ ترقي تہ اُها آهي جيڪا موجوده عارضي زندگي ۾ انسانن جي وچ ۾ ملندي آهي. پر اصل عزت ۽ ترقي اُها آهي جيڪا هميشہ واري زندگي ۾ خدا وٽ حاصل ٿيندي. اُهائي عزت ۽ ترقي حقيقي آهي ۽ ان سان گڏ هميشہ لاءِ بہ.

اِنَّ رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ يُدَبِّرُ الْاَمْرَ ؕ مَا مِنْ شَفِيْعٍ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ اِذْنِهٖ ؕ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ۝۳ اِلَيْهِ مَرْجِعُكُمْ جَمِيْعًا ؕ وَعْدَ اللّٰهِ حَقًّا ؕ اِنَّهٗ يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ لِيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ بِالْقِسْطِ ؕ وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَهُمْ شَرَابٌ مِّنْ حَمِيْمٍ وَّ عَذَابٌ اَلِيْمٌۢ بِمَا كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ ۝۴

بيشڪ توهان جو رب الله آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن (دؤرن) ۾ پيدا ڪيو، پوءِ هو عرش تي قائم ٿيو. اِهوئي معاملن جو انتظام ڪندو آهي. سندس اجازت کانسواءِ ڪو بہ سفارش ڪرڻ وارو نہ آهي. اِهوئي الله توهان جو رب آهي. تنهن ڪري توهان سندس ئي عبادت ڪريو، پوءِ ڇا توهان سوچيو نہ ٿا. ان ڏانهن ئي توهان سڀني کي موٽي وڃڻو آهي، اِهو الله جو سچو وعدو آهي. بيشڪ هو پيدائش جي ابتدا ڪندو آهي، پوءِ اُهوئي وري ٻيهر بہ پيدا ڪندو تہ جيئن جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن نيڪ ڪم ڪيا ڪين انصاف سان بدلو ڏي. ۽ جن انڪار ڪيو انهن جي انڪار جي بدلي انهن لاءِ ٽهڪندڙ پاڻي ۽ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. ٣-٤

---

ڪائنات ۾ مختلف قسمن جون شيون آهن. علمي تحقيق ٻڌائي ٿي تہ انهن شين جو ظهور هڪ ئي وقت نہ ٿيو هو، بلڪ تدريج ۽ ترتيب سان ٿيو آهي. قرآن هِن تخليق کي ڇهہ دورن (Periods) ۾ تقسيم ڪري ٿو. اِها دؤرن واري تخليق ثابت ڪندي آهي تہ ڪائنات جي پيدائش شعوري منصوبي جي تحت ٿي آهي. پوءِ ڪائنات جو مطالعو اِهو بہ ٻڌائيندو آهي تہ ان جو نظام هڪ مضبوط قانون جي تحت هلي رهيو آهي. هر شيءِ ٺيڪ ان ئي طرح عمل ڪري پئي، جهڙي طرح سڀني تقاضن جي تحت ان کي عمل ڪرڻ کپي. اِهو واقعو ان ڳالهہ جو ڇڙو ثبوت آهي تہ هِن ڪائنات جي ڪارخاني جو هڪ زندهہ مدبر يعني تدبير ڪرڻ وارو آهي. جيڪو هر لمحي ان جو انتظام ڪري رهيو آهي.

ڪائنات جو اِهو حيرت ۾ وجهندڙ نظام خود ٻڌائي رهيو آهي تہ اُن جو مالڪ ايترو ڪامل ۽ ايترو عظيم آهي، جنهن وٽ ڪنهن سفارشي جي سفارش جو ڪو سوال ئي نہ آهي. ڪائنات پنهنجي خاصيتن جي آئيني ۾ پنهنجي خالق جون خاصيتون ٻڌائي رهي آهي.

سڄي ڪائنات ۾ ”قسط“ (عدل) جو نظام قائم آهي. هِتي هر هڪ سان اِهو ٿي رهيو آهي تہ جيڪو ڪجهہ هو ڪندو آهي ان ئي مطابق نتيجو ان جي سامهون ايندو آهي. هر هڪ کي اُهو ئي ملندو آهي جيڪو ان ڪيو هو ۽ هر هڪ کان اُهو ڪسجي ويندو آهي، جنهن جي لاءِ هن ڪجهہ نہ ڪيو هو. زمين جو جيڪو حصو رات جا اسباب جمع ڪندو آهي، اتي اونداهي ڦهلجي ٿي ۽ زمين جو جيڪو حصو روشني جا اسباب پيدا ڪندو آهي، ان جي مٿان روشني ٿي ئي رهندي.

اِهو مادي نتيجن جو حال آهي. پر اخلاقي نتيجن جي معاملي ۾ دنيا جي تصوير بلڪل مختلف نظر ايندي آهي. انسان نيڪي ڪندو آهي ۽ ان کي نيڪيءَ جو ڦل نہ ٿو ملي. انسان سرڪشي ڪندو آهي، پر ان جي سرڪشي نتيجي (سزا) کان بغير جاري رهندي آهي. خالق جي جيڪا مرضي ان جي ٻي مخلوق ۾ هلي رهي آهي. ان جي اُهائي مرضي انسان جي معاملن ۾ ڇو ظاهر نہ ٿي ٿئي.

ان جو جواب اِهو آهي تہ انسان جي زندگي ۾ خدائي انصاف جي ظهور کي خدا بعد ۾ اچڻ واري دنيا جي لاءِ پوئتي (مؤخر) ڪري ڇڏيو آهي. پهرين زندگي انسان کي عمل جي لاءِ ڏني وئي آهي. ٻي زندگي ان کي پنهنجي عمل جو نتيجو حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڏني ويندي ۽ ٻي زندگيءَ جو ظهور يقيناً ايتروئي ممڪن آهي جيترو پهرين زندگي جو ظهور.

هُوَ الَّذِىۡ جَعَلَ الشَّمۡسَ ضِيَآءً وَّ الۡقَمَرَ نُوۡرًا وَّ قَدَّرَهٗ مَنَازِلَ لِتَعۡلَمُوۡا عَدَدَ السِّنِيۡنَ وَ
الۡحِسَابَ‌ؕ مَا خَلَقَ اللّٰهُ ذٰلِكَ اِلَّا بِالۡحَقِّ‌ۚ يُفَصِّلُ الۡاٰيٰتِ لِقَوۡمٍ يَّعۡلَمُوۡنَ ۝٥ اِنَّ فِىۡ

اخْتِلَافِ الَّيْلِ وَ النَّهَارِ وَ مَا خَلَقَ اللّٰهُ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَّقُوْنَ ﴿۶﴾

**الله ئي آهي جنهن سج کي چمڪندڙ بڻايو ۽ چنڊ کي روشني ڏني ۽ اُن جون منزلون مقرر ڪري ڇڏيون ته جيئن توهان سالن جي ڳڻپ ۽ حساب معلوم ڪريو. الله اِهو سڀ ڪجهه بي مقصد نه بڻايو آهي. هو نشانيون کولي بيان ڪندو آهي انهن جي لاءِ جيڪي سمجهه رکن ٿا. بيشڪ رات ۽ ڏينهن جي بدلجڻ ۾ ۽ الله جيڪو ڪجهه آسمانن ۽ زمين ۾ پيدا ڪيو آهي، تنهن ۾ انهن ماڻهن جي لاءِ نشانيون آهن جيڪي ڊپ رکن ٿا. ۵-۶**

---

سج اسان جي زمين کان نهايت صحيح مفاصلي تي قائم آهي، اِهوئي سبب آهي جو هو اسان جي لاءِ روشني ۽ گرمائش جهڙين نعمتن جو خزانو بڻيل آهي. جيڪڏهن هن اندازي (مفاصلي) ۾ فرق اچي وڃي ته سج اسان جي لاءِ سج نه رهندو بلڪ جهنم بڻجي ويندو. اُهو زندگي جي بجاءِ موت جو پيغام ثابت ٿيندو. چنڊ آخري حد تائين رياضيءَ جي حساب مطابق پنهنجي مدار تي ٺيڪ ٺيڪ چڪر ڏيندو آهي. اُن ئي ڪري اِهو ممڪن ٿيندو آهي ته چنڊ بذات خود بي نور هجڻ جي باوجود اسان جي لاءِ ٿڌي روشني ڏي بلڪ مهينن ۽ سال جي قدرتي جنتري به فراهم ڪري. اِهي فلڪياتي نشانيون ثابت ڪنديون آهن ته هن ڪائنات جو گهرو مقصد آهي ۽ مقصد واري ڪائنات جو آخري انجام بي مقصد نه ٿو ٿي سگهي.

پوءِ اسان جي دنيا ۾ رات کان پوءِ ڏينهن جو اچڻ مادي مثال جي زبان ۾ اُن اخلاقي حقيقت کي ٻڌائي رهيو آهي ته موجوده دنيا ۾ اِهو قانون نافذ آهي ته اونداهي کان پوئي روشني ڦهلجي، انڌيري کان پوءِ سوجهري جو ظهور ٿئي. هتي حقن جي کسجڻ کان پوءِ حق جي ادائيگي جو نظام اچڻ وارو آهي. انسان جي سرڪشي جي جڳهه خدائي انصاف کي غلبو ملڻ وارو آهي. هِتي اُن وقت جو اچڻ مقدر آهي جڏهن ناحق ختم ٿئي ۽ حق جي اعتراف جو ماحول هر طرف قائم ٿي وڃي.

آخرت جي حقيقتن کي خدا نشانين جي انداز ۾ ظاهر ڪيو آهي. ٻين لفظن ۾ خدا موجوده دنيا ۾ دليل جي روپ ۾ ظاهر ٿيندو آهي نه وري محسوس ٿيندڙ مشاهدي جي روپ ۾. پوءِ خدا جهڙي روپ ۾ پنهنجو جلوو ڏيکاريندو آهي، ان ئي روپ ۾ اسان ان کي حاصل ڪري سگهون ٿا، نه وري ڪنهن ٻئي روپ ۾.

خدا هِن دنيا ۾ هدايت جا رستا کولي رکيا آهن پر اِها هدايت انهن جو مقدر آهي جيڪي خدائي نقشي جي مطابق ان جي پيروي ڪرڻ جي لاءِ تيار هجن.

هتي انهن ئي ماڻهن کي صحيح رستي تي هلڻ جي توفيق ملندي جيڪي دليل جي زبان ۾ ڳالهه کي سمجهڻ ۽ مڃڻ جي لاءِ تيار هجن. جيڪي ماڻهو سچي دليل جي اڳيان نه جُهڪن، اُهي ڄڻ ته خدا جي اڳيان نه جُهڪيا، انهن خدا کي نه مڃيو. اهڙن ماڻهن کي پنهنجي لاءِ جهنم کانسواءِ ڪنهن ٻي شيءِ جو انتظار نه ڪرڻ کپي.

زمين ۽ آسمان ۾ جيتوڻيڪ بيشمار نشانيون ڦهليل آهن، پر اُهي انهن ماڻهن جي لاءِ سبق ڀٽبيون آهن جيڪي ڊپ رکڻ وارا آهن. ڊپ يا انديشو اُها شيءِ آهي جيڪا ماڻهو کي سنجيده بڻائي ٿي. جيستائين ماڻهو ڪنهن معاملي ۾ سنجيده نه هجي، هُو ان معاملي تي پورو ڌيان نه ڏيندو ۽ نه ان جي مختلف پهلوئن کي سمجهي سگهندو. پوري ڪائنات هڪ زبردست تخليقي توازن ۾ جڪڙيل آهي. اِهو

ان ڳالھ جو واضح اشارو آھي تہ ڪائنات جو مالڪ اھڙو مالڪ آھي جيڪو انسان کي پڪڙڻ جي طاقت رکي ٿو. اھڙي طرح پھرين زندگي جنھن جو اسان تجربو ڪري رھيا آھيون، اھو ھِن ڳالھ جو يقيني ثبوت آھي تہ ٻي زندگي بہ ممڪن آھي. موجوده دنيا ۾ مادي نتيجن جو نڪري اچڻ ۽ اخلاقي نتيجن جو نہ نڪرڻ ان ڳالھ جو تقاضو ڪري ٿو تہ ھڪ ٻي دنيا ٺھي، جتي اخلاقي نتيجا پنھنجي پوري صورت ۾ ظاھر ٿين. اِھي سڀ انتھائي محڪم ڳالھيون آھن، پر انھن جو واضح ھجڻ اھوئي ماڻھو ڇاڻي سگھي ٿو جيڪو ڊپ، خوف ۽ انديشي جي نفسيات تحت زندگي جي معاملي کي ڏسندو ھجي.

اِنَّ الَّذِيۡنَ لَا يَرۡجُوۡنَ لِقَآءَنَا وَرَضُوۡا بِالۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا وَاطۡمَاَنُّوۡا بِهَا وَالَّذِيۡنَ هُمۡ عَنۡ اٰيٰتِنَا غٰفِلُوۡنَ ۝٧ اُولٰٓئِكَ مَاۡوٰىهُمُ النَّارُ بِمَا كَانُوۡا يَكۡسِبُوۡنَ ۝٨ اِنَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ يَهۡدِيۡهِمۡ رَبُّهُمۡ بِاِيۡمَانِهِمۡ ۚ تَجۡرِيۡ مِنۡ تَحۡتِهِمُ الۡاَنۡهٰرُ فِيۡ جَنّٰتِ النَّعِيۡمِ ۝٩ دَعۡوٰىهُمۡ فِيۡهَا سُبۡحٰنَكَ اللّٰهُمَّ وَتَحِيَّتُهُمۡ فِيۡهَا سَلٰمٌ ۚ وَاٰخِرُ دَعۡوٰىهُمۡ اَنِ الۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۝١٠ ع

بيشڪ جيڪي ماڻھو اسان سان ملاقات جي اميد نہ ٿا رکن ۽ دنيا جي زندگي تي راضي ۽ مطمئن آھن ۽ جيڪي اسان جي نشانين کان بي پرواھ آھن، انھن جو ٺڪاڻو جھنم ھوندو اُن سبب جي ڪري جيڪو ھو ڪندا ھئا. بيشڪ جن ماڻھن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا، الله سندن ايمان جي ڪري انھن کي پھچائي ڇڏيندو. انھن جي ھيٺان نھرون وھنديون ھونديون نعمت جي باغن ۾. انھيءَ ۾ سندن قول ھوندو تہ اي الله! تون پاڪ آھين. ۽ سندن ملاقات سلام ھوندي. ۽ سندن آخري ڳالھ اِھا ھوندي تہ سڀ تعريف الله جي لاءِ آھي جيڪو رب آھي سيني جھانن جو. ۷-۱۰

---

جھنم ڪنھن جي لاءِ آھي. انھن ماڻھن جي لاءِ جيڪي اُن ڏينھن کي وساري ويٺا ھجن، جڏھن اُھي خدا جي سامھون ٿيندا. جيڪي آخرت جي ھميشہ واري نعمتن جي مقابلي ۾ دنيا جي عارضي شين تي راضي ٿي ويا ھجن، جن جو اِھو حال ھجي تہ دنيا ۾ انھن کي جيڪو ڪجھ امتحان جي طور تي مليو آھي اُن تي ھُو مطمئن ٿي وڃن. جيڪي غير خدائي شين ۾ ايتري دل لڳائن جو خدا طرفان ظاھر ڪيل حقيقتن کان غافل ٿي وڃن. اھو سڀ خدا جي نزديڪ جھنمي رستن تي ھلڻ آھي ۽ جيڪي ماڻھو جھنمي رستن تي ھلي رھيا ھجن، اُھي آخرڪار جھنم ڪانسواءِ ٻيو ڪٿي پھچندا.

”الله انھن کي سندن ايمان جي ڪري جنت جي منزل تائين پھچائيندو“. ھن مان معلوم ٿيو تہ ايمان ماڻھوءَ جي لاءِ رھنمائي آھي. اُھو ماڻھو کي غلط رستن کان بچائي صحيح رستي تي ھلائيندو آھي، ايستائين جو ان کي حقيقي منزل تائين پھچائي ڇڏيندو آھي.

ايمان خدا جي دريافت آھي. جنھن ماڻھو کي ايمان حاصل ٿي وڃي، ان کي حقيقي علم ھٿ اچي ٿو وڃي، ھو اُن قابل ٿي ويندو آھي تہ ھر معاملي جو صحيح سوچ سان آغاز ڪري سگھي. ھُو فڪري گمراھي کان بچي ڪري صحيح فڪر جو مالڪ بڻجي وڃي. خدا کي مڃڻ ڪنھن ڪتابي

فلسفي ڪي ميڄڻ نہ آهي. اِهو هڪ زندهہ خدا ڪي ميڄڻ آهي جيڪو آخرڪار سيني انسانن ڪي پاڻ وٽ جمع ڪري سندن حساب وٺڻ وارو آهي. اهڙي طرح ايمان ماڻهو ڪي سندس انجام جي باري ۾ انديشي واري ڪيفيت پيدا ڪري ان ڪي انتهائي سنجيده انسان بڻائي ٿو ڇڏي. هو مجبور ٿي ويندو آهي تہ پنهنجن سيني ڪمن ڪي صحيح ۽ غلط جي روشني ۾ ڏسي ۽ صرف صحيح رخ تي هلي ۽ غلط رخ تي هلڻ کان هميشہ پرهيز ڪري.

اهڙي طرح ايمان ماڻهو ڪي صحيح فڪر بہ ڏيندو آهي ۽ ان سان گڏ ايمان ان ڪي صحيح ۽ غلط ۾ فرق ڪرڻ واري قوت بہ ڏيندو آهي، جيڪا ان جي لاءِ مستقل عملي رهنما بڻجي وڃي.

آخرت جي جنت انهن ماڻهن جي لاءِ آهي جن دنيا ۾ پنهنجي پاڻ ڪي ان جو مستحق ثابت ڪيو هجي. آخرت خدا جي جلون ڪي روبرو ڏسڻ جو مقام آهي، اتي رهڻ جو موقعو رڳو انهن ماڻهن ڪي ملندو جيڪي دنيا ۾ خدا جي جلون سان سرشار ٿيا هوندا. آخرت ۾ ماڻهن جون دليون هڪٻئي جي لاءِ سلامتي ۽ خيرخواهي جي جذبن سان ڀريل هونديون، ان ڪري اُتي اهي ئي ماڻهو جڳهہ ماڻيندا جن دنيا ۾ هِن ڳالهہ جو ثبوت ڏنو هو تہ ٻين جي لاءِ سندن دلين ۾ سلامتي ۽ خيرخواهي ڪانسواءِ ڪو ٻيو جذبو نہ هو.

وَ لَوۡ يُعَجِّلُ اللّٰهُ لِلنَّاسِ الشَّرَّ اسۡتِعۡجَالَهُمۡ بِالۡخَيۡرِ لَقُضِيَ اِلَيۡهِمۡ اَجَلُهُمۡ ؕ فَنَذَرُ الَّذِيۡنَ لَا يَرۡجُوۡنَ لِقَآءَنَا فِيۡ طُغۡيَانِهِمۡ يَعۡمَهُوۡنَ ﴿۱۱﴾ وَ اِذَا مَسَّ الۡاِنۡسَانَ الضُّرُّ دَعَانَا لِجَنۡۢبِهٖۤ اَوۡ قَاعِدًا اَوۡ قَآئِمًا ۚ فَلَمَّا كَشَفۡنَا عَنۡهُ ضُرَّهٗ مَرَّ كَاَنۡ لَّمۡ يَدۡعُنَاۤ اِلٰى ضُرٍّ مَّسَّهٗ ؕ كَذٰلِكَ زُيِّنَ لِلۡمُسۡرِفِيۡنَ مَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿۱۲﴾

جيڪڏهن الله ماڻهن جي لاءِ عذاب اُن ئي طرح جلدي پهچائي ڇڏي جهڙي طرح هُو انهن سان رحمت ۾ جلدي ڪندو آهي تہ سندن نهرايل مدت انهن لاءِ پوري ڪئي وڃي ها. پر اسان انهن ماڻهن ڪي جيڪي اسان سان ملاقات جي اميد نہ ٿا رکن، سندن سرڪشي ۾ ڀٽڪڻ لاءِ ڇڏي ڏيندا آهيون. ۽ انسان ڪي جڏهن ڪا تڪليف پهچي ٿي تہ هُو ٻيٺي ۽ ويٺي ۽ ليٽي اسان ڪي پڪاري ٿو. پوءِ جڏهن اسان سندس تڪليف ڪي پري ڪري ڇڏيندا آهيون تہ هُو اِهڙو ٿي ويندو آهي ڄڻ تہ ان ڪڏهن پنهنجي ڪنهن بري وقت ۾ اسان ڪي پڪاريو ئي نہ هو. اهڙي طرح حد کان لنگهي وڃڻ وارن جي لاءِ سندن عمل خوشنما بڻايا ويا آهن. ١١-١٢

---

خدا جو قانون اِهو آهي تہ ڪو ماڻهو انعام جي قابل عمل ڪري تہ سندس عمل فورًا سندس اعمالنامي ۾ داخل ڪيو ويندو آهي. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو سزا جي قابل عمل ڪندو آهي تہ خدا ان کي دير ڏيندو آهي تہ جيئن هو ڪنهن نہ ڪنهن موڙ تي خبردار ٿي ڪري پنهنجي اصلاح ڪري وٺي. خدا جو اِهو قانون انسان جي لاءِ تمام وڏي رحمت آهي. جيئن تہ انسان اهڙو ظالم آهي جو هو هر وقت برائي ڪرڻ لاءِ آماده هوندو آهي ۽ جيڪڏهن ماڻهن ڪي سندن براين تي فورًا پڪڙجي تہ سندن مهلت واري عمر جلد ختم ٿي وڃي ۽ زمين انسانن کان خالي ٿي وڃي.

دنيا جي زندگي ۾ سرڪش اُهي ماڻهو بڻجي ويندا آهن جيڪي دنيا ۾ اِهو سمجهي رهن تہ مرڻ ڪانپوءِ انهن ڪي خدا جي سامهون پيش نہ ٿيڻو آهي. جيڪي پڪڙجي وڃڻ جي انديشي ۽ خوف کان

خالي ٿي ڪري زندگي گذاريندا آهن. جيڪي سمجهن ٿا ته اُهي آزاد آهن ته جيڪا ڏانڌلي چاهين ڪن ۽ جيڪو فساد چاهين ڦهلائين. حقيقت اِها آهي ته ماڻهن جي وچ ۾ سچائي ۽ انصاف سان معاملو ڪرڻ جو هڪ ئي حقيقي محرڪ آهي ۽ اُهو اِهو آهي ته ماڻهو اُهو سمجهي ته سڀني طاقتورن جي مٿان هڪ طاقتور آهي. هر ماڻهو ان جي اڳيان بي وس آهي. هُو هڪ ڏينهن سڀني انسانن کي پڪڙيندو ۽ هرڪو مجبور هوندو ته پنهنجي باري ۾ ان جي فيصلي کي تسليم ڪري.

دنيا جو نظام اِهڙي طرح بڻايو ويو آهي ته ماڻهو بار بار ڪنهن نه ڪنهن تڪليف يا حادثي جي پڪڙ ۾ اچي ويندو آهي. ماڻهو محسوس ڪرڻ لڳندو آهي ته ٻاهرين طاقتن جي مقابلي ۾ هُو بلڪل بي وس آهي، ان وقت ماڻهو بي اختيار خدا کي پڪارڻ لڳندو آهي. هو خدا جي قدرت جي مقابلي ۾ پنهنجي عجز جو اعتراف ڪري وٺندو آهي. پر اِها حالت رڳو ان وقت تائين رهندي آهي جيستائين هو مصيبتن جي پڪڙ ۾ هجي، مصيبت مان نجات پائيندي ئي هُو ٻيهر اُهڙو ئي غافل ۽ سرڪش بڻجي ويندو آهي جيئن هو اڳ ۾ هو. اهڙن ماڻهن جي بندگي جي اظهار کي خدا تسليم نه ڪندو آهي، ڇاڪاڻ ته بندگي جو اهو اظهار گهربل آهي جيڪو آزاد حالتن ۾ ڪيو وڃي. مجبور حالتن ۾ ڪئي ويڻ واري بندگي خدا جي نظر ۾ ڪا قيمت نه ٿي رکي.

ماڻهو هڪ وضاحت پسند مخلوق آهي، هُو هر عمل جو هڪ جواز تلاش ڪندو آهي. جيڪڏهن ماڻهو سرڪشي کي پاڻ لاءِ پسند ڪري وٺي ته ان جو ذهن به اُن ئي طرف مڙي ويندو. هُو عملن سرڪشي ڪندو ۽ ان جو ذهن سندس سرڪشي کي صحيح ثابت ڪرڻ جي لاءِ خوبصورت لفظ فراهم ڪندو رهندو آهي. ان جو نالو ئي عملن کي سينگارڻ آهي. ماڻهو پنهنجن غلطين کي خوشنما لفظن ۾ بيان ڪري پاڻ کي مطمئن ڪري وٺندو آهي ته هُو حق تي آهي. پر اِهو ايئن ئي آهي جيئن ڪو ماڻهو ٻاهر جو ٽانڊو پنهنجي هٿ ۾ کڻي وٺي ۽ سمجهي ته اهو ان کي نه ساڙيندو، ڇاڪاڻ ته هن اُن جو نالو گلاب جو گُل رکي ڇڏيو آهي.

وَ لَقَدۡ اَهۡلَكۡنَا الۡقُرُوۡنَ مِنۡ قَبۡلِكُمۡ لَمَّا ظَلَمُوۡا ۙ وَ جَآءَتۡهُمۡ رُسُلُهُمۡ بِالۡبَيِّنٰتِ وَ مَا
كَانُوۡا لِيُؤۡمِنُوۡا ؕ كَذٰلِكَ نَجۡزِى الۡقَوۡمَ الۡمُجۡرِمِيۡنَ ﴿۱۳﴾ ثُمَّ جَعَلۡنٰكُمۡ خَلٰٓئِفَ فِى الۡاَرۡضِ
مِنۡۢ بَعۡدِهِمۡ لِنَنۡظُرَ كَيۡفَ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۱۴﴾

۽ اسان توهان کان اڳ قومن کي هلاڪ ڪيو جڏهن ته انهن ظلم ڪيو ۽ انهن وٽ سندن پيغمبر پڌرن دليلن سان آيا ۽ اُهي ايمان آڻڻ وارا نه ٿيا. اسان اهڙوئي بدلو ڏيندا آهيون مجرم ماڻهن کي. پوءِ اسان انهن کان پوءِ توهان کي ملڪ ۾ جانشين بڻايو ته جيئن اسان ڏسون ته توهان ڪيئن ٿا عمل ڪريو. ۱۳-۱۴

---

”پيغمبر پنهنجن قومن وٽ بيّنات سان گڏ آيا، پر انهن نه مڃيو“ بيّنات جي معنيٰ دليل آهن. ان مان معلوم ٿيندو آهي ته خدا جو داعي هميشه دليل جي بنياد تي بيٺل هوندو. ماڻهن کي ان کي دليل جي سطح تي سڃاڻڻو پوندو آهي. جيڪي ماڻهو ظاهري عظمتن ۽ عوامي استقبال جي هنگامن ۾ خدا جي داعي کي ڳولهڻ چاهين، اُهي ڪڏهن به ان کي ڳولهي نه سگهندا. ڇاڪاڻ ته خدا جو داعي اُتي موجود ئي

نہ هوندو آهي. نبي معجزو ڏيکاريندو آهي، پر معجزو آخري مرحلي ۾ حجت ختم ڪرڻ جي لاءِ ايندو آهي. دعوتي مرحلي ۾ سڄو ڪم دليلن جي بنياد تي ٿيندو آهي.

ڪنهن ماڻهو يا گروهہ جو ظالم هجڻ اِهو آهي تہ هُو دليل جي روپ ۾ ظاهر ٿيڻ واري خدا جي دعوت کي نہ سڃاڻي ۽ پنهنجي هٿ ٺوڪيل معيار جي مطابق نہ هجڻ جي ڪري ان جو انڪار ڪري ڇڏي. اِهڙا ماڻهو پنهنجي ان طريقي جي ڪري خدائي قانون جي پڪڙ ۾ اچي ويندا آهن.

ماضي جي جن قومن تي نبوت جي انڪار جي جرم ۾ خدا جو عذاب نازل ٿيو، اُهي نبوت جون منڪر نہ هيون. اُهي سڀئي قومون ڪنهن نہ ڪنهن اڳين پيغمبر کي مڃينديون هيون. البت انهن وقت جي پيغمبر کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. پوئين پيغمبر جو معاملو اهو هُو تہ اُن سان گڏ تاريخ جي تصديق شامل ٿي چڪي هئي ۽ قومي طرفداري ان سان گڏ وابستہ ٿي چڪي هئي، جڏهن تہ موجوده پيغمبر اڃا اهڙين اضافي خاصيتن کان خالي هو. انهن اُن گذريل پيغمبر جو اقرار ڪيو جيڪو نسلن جي روايتن جي نتيجي ۾ انهن جو قومي پيغمبر بڻجي ويو هو، جنهن سان گڏ پاڻ کي منسوب ڪرڻ تاريخي عظمت جي مينار سان پاڻ کي منسوب ڪرڻ جي هم معنيٰ هو. انهن پنهنجي قومي پيغمبر کي پيغمبر مڃيو، پر اُن پيغمبر جو انڪار ڪري ڇڏيو جنهن کي صرف دليل ۽ برهان جي ذريعي سڃاڻي پئي سگهيا.

اهو جرم خدا جي نظر ۾ ايترو وڏو هو جو اُهي ماڻهو نبي جا منڪر قرار ڏئي هلاڪ ڪيا ويا.

”پوءِ اسان انهن کان بعد توهان کي ملڪ ۾ خليفو بڻايو“. خليفي جي اصل معنيٰ آهي بعد ۾ اچڻ وارو. اِهو لفظ جانشين خاص طور اقتدار ۾ جانشين جي لاءِ ڳالهايو ويندو آهي. اِها جانشيني انسان جي هوندي آهي، نہ وري خدا جي. ڪو انسان اقتدار ۾ خدا جو جانشين نہ ٿو ٿي سگهي. انسان هميشہ ڪنهن مخلوق جو جانشين هوندو آهي. قرآن ۾ جتي بہ خلافت جو لفظ آيو آهي اُهو مخلوق جي جانشيني جي لاءِ آهي نہ وري خدا جي جانشيني جي لاءِ.

ڪنهن کي خليفو (جانشين) ڪرڻ اعزاز جي لائق نہ هوندو آهي، بلڪ صرف امتحان جي لاءِ هوندو آهي. جانشين بڻائڻ جو مطلب هڪ کان پوءِ ٻئي کي ڪم جو موقعو ڏيڻ آهي. هڪ قوم کان پوءِ ٻئي قوم کي امتحان جي ميدان ۾ بيهارڻ آهي، جيئن هندوستان ۾ ديسي راجائن جي جاءِ تي مغلن کي اختيار ڏنو ويو. پوءِ انهن کي هٽائي انگريزن کي سندن جانشين بڻايو ويو. اُن کان پوءِ انهن کي ملڪ مان ڪڍي اڪثريتي فرقي جي لاءِ جڳهہ خالي ڪئي وئي. انهن منجهان هر بعد ۾ اچڻ وارو پاڻ کان اڳ واري جو خليفو هو.

وَ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيَاتُنَا بَيِّنٰتٍ ۙ قَالَ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا ائْتِ بِقُرْاٰنٍ غَيْرِ هٰذَآ
اَوْ بَدِّلْهُ ؕ قُلْ مَا يَكُوْنُ لِيْٓ اَنْ اُبَدِّلَهٗ مِنْ تِلْقَآئِ نَفْسِيْ ۚ اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا يُوْحٰٓى اِلَيَّ ۚ اِنِّيْٓ
اَخَافُ اِنْ عَصَيْتُ رَبِّيْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿۱۵﴾ قُلْ لَّوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا تَلَوْتُهٗ عَلَيْكُمْ وَ لَآ
اَدْرٰىكُمْ بِهٖ ۖ فَقَدْ لَبِثْتُ فِيْكُمْ عُمُرًا مِّنْ قَبْلِهٖ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۱۶﴾ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ

افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿۱۷﴾

۽ جڏهن اُنهن کي اسان جون واضح آيتون پڙهي ٻڌايون وڃن ٿيون تہ جن ماڻهن کي اسان وٽ اچڻ جو ڪٿڪو نہ آهي سي چوندا آهن تہ هِن ڪانسواءِ ڪو ٻيو قرآن آڻ يا ان کي بدلائي ڇڏ. چؤ تہ منهنجو اِهو ڪم نہ آهي جو آئون پنهنجي طرفان ان کي بدلائي ڇڏيان. آئون تہ رڳو اُن وحي جي پيروي ڪندو آهيان جيڪا مون وٽ ايندي آهي. جيڪڏهن آئون پنهنجي رب جي نافرماني ڪريان تہ آئون هڪ وڏي ڏينهن جي عذاب کان ڊڄان ٿو. چؤ تہ جيڪڏهن الله گهري ها تہ آئون هِن کي (پڙهي) توهان کي نہ ٻڌايان ها ۽ نہ وري الله توهان کي ان جي ڄاڻ ڏي ها. آئون هِن کان اڳ توهان جي وچ ۾ هڪ عمر گذاري چڪو آهيان، پوءِ ڇا توهان عقل کان ڪم نہ ٿا وٺو. ان کان وڏو ظالم ٻيو ڪير هوندو جيڪو الله تي ڪوڙو ٺاهه ٺاهي يا سندس نشانين کي ڪوڙو سمجهي. يقيناً مجرمن کي فلاح حاصل نہ ٿيندي آهي. ١٥-١٧

---

مڪي جا قريش خدا ۽ رسول کي مڃيندا هئا. اُهي پاڻ کي ملت ابراهيمي جا پيروڪار چوندا هئا. ايستائين جو اسلام جون گهڻيون ئي اصطلاحون مثلاً صلات، صوم، زڪوات، حج وغيره اُهي ئي آهن جيڪي پهرين کان انهن وٽ رائج هيون. ان جي باوجود انهن چو چيو تہ ٻيو قرآن آڻيو يا هِن قرآن ۾ ڪجهہ تبديلي ڪري ڇڏيو، پوءِ اسان هِن کي مڃينداسون.

ان جو سبب اِهو هو تہ قرآن ۾ خدا جي خالص دين جو اعلان هو. جڏهن تہ قريش خدا جي دين جي نالي تي هڪ ملاوٽي دين کي اختيار ڪيل هئا.

قرآن واري توحيد سان سندن مشرڪاڻي عقيدي تي چوٽ لڳندي هئي. قرآن واري عبادت جي تصور جي روشني ۾ سندن عبادتون رڳو راند ۽ تماشو معلوم ٿينديون هيون. اُهي پيغمبر کي پنهنجي قومي فخر جو نشان ٺاهي وينا هئا ۽ قرآن انهن کان هڪ اهڙي پيغمبر کي مڃڻ جو مطالبو ڪري رهيو هو جيڪو سندن عملي زندگي ۾ سندن رهنما جو درجو حاصل ڪري وٺي. انهن ڪعبي جي خدمت کي پنهنجي دينداري جو سيني کان وڏو ثبوت سمجهي رکيو هو، جڏهن تہ قرآن ٻڌايو تہ دينداري اِها آهي تہ جيڪو ماڻهو خدا کان ڊڄي ۽ جيڪو ڪجهہ ڪري آخرت کي سامهون رکي ڪري.

ماڻهو ڪجهہ لفظ ڳالهائي حق کي نظرانداز ڪري ڇڏيندو آهي. ان جو سبب اهو آهي جو ان جي دل ۾ "ڪٿڪو يا انديشو" نہ هوندو آهي. جيڪڏهن ماڻهوءَ جي دل ۾ اِهو ڪٿڪو يا انديشو لڳل هجي تہ هُو پنهنجي قول ۽ فعل جي لاءِ خدا وٽ جوابده آهي تہ هو فورًا سنجيده ٿي ويندو ۽ جيڪو ماڻهو سنجيده هجي، اُهو معاملي کي حقيقت جي نظر سان ڏسندو، هُو سرسري طور تي اُن کي نظرانداز نہ ٿو ڪري سگهي.

وَيَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَضُرُّهُمْ وَلَا يَنْفَعُهُمْ وَيَقُوْلُوْنَ هٰٓؤُلَآءِ شُفَعَآؤُنَا عِنْدَ
اللّٰهِ ؕ قُلْ اَتُنَبِّـُٔوْنَ اللّٰهَ بِمَا لَا يَعْلَمُ فِي السَّمٰوٰتِ وَلَا فِي الْاَرْضِ ؕ سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا
يُشْرِكُوْنَ ﴿۱۸﴾ وَمَا كَانَ النَّاسُ اِلَّآ اُمَّةً وَّاحِدَةً فَاخْتَلَفُوْا ؕ وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ
لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ فِيْمَا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿۱۹﴾

۽ اُهي الله ڪانسواءِ اِهڙين شين جي عبادت ڪندا آهن جيڪي نہ انهن کي نقصان پهچائي سگهن ۽ نہ نفعو پهچائي سگهن. ۽ اُهي چوندا آهن تہ اِهي الله وٽ اسان جا سفارشي آهن. چؤ ڇا توهان الله کي اهڙي شيءِ جي خبر ڏيو ٿا جيڪا ان کي آسمانن ۽ زمين ۾ معلوم نہ آهي. هو پاڪ ۽ بلند آهي انهن کان جن کي هُو شريڪ ڪندا آهن. ۽ ماڻهو هڪ ئي امت هئا. پوءِ انهن اختلاف ڪيو. ۽ جيڪڏهن تنهنجي ربُ طرفان هڪ ڳالهہ پهرين کان طي ڪيل نہ هجي ها تہ سندن وچ ۾ اُن امر جو فيصلو ڪري ڇڏجي ها جنهن ۾ اُهي اختلاف ڪري رهيا آهن. ١٨-١٩

---

اسان جي دنيا ۾ جيڪي واقعا ٿي رهيا آهن، اُهي بظاهر مادي سببن ڪري ٿي رهيا آهن. پر حقيقت اِها آهي تہ سيني واقعن جي پويان خدا جو هٿ آهي. هن دنيا ۾ ڪنهن کي بہ ڪو ذاتي اختيار حاصل نہ آهي. توحيد اِها آهي تہ ماڻهو ظاهري شين کان گذري غيب ۾ لڪيل خدا کي ڳولي لهي. اُن جي مقابلي ۾ شرڪ اِهو آهي تہ ماڻهو ظاهري شين ۾ اٽڪي رهجي وڃي. هو شين کي ئي شين جي خالق جو مقام ڏئي ڇڏي.

هن دنيا ۾ خدا کان سواءِ ڪنهن وٽ نفعو ڏيڻ يا نقصان پهچائڻ جي طاقت نہ آهي. جيڪو ماڻهو هن حقيقت کي حاصل ڪري ٿو ونئي تہ اُن جو سڄو توجهہ خدا ڏانهن ٿي ويندو آهي. هو خدا جي ئي عبادت ڪندو آهي. هو اُن کان ئي ڊڄندو آهي ۽ اُن مان ئي اُميدون رکندو آهي. هو پنهنجو سڀ ڪجهہ هڪ خدا کي بڻائي ونندو آهي. اُن جي ابتڙ جيڪي ماڻهو شين ۾ اٽڪيل هجن، اهي پنهنجي ذوق جي لحاظ کان ڪنهن غير خدا کي پنهنجو خدا بڻائي ونندا آهن ۽ انهن غير خدائن سان اُهي ئي اميدون ۽ انديشا وابستہ ڪري ونندا آهن جيڪي حقيقت ۾ اڪيلي خدا سان وابستہ ڪرڻ کپن. اُن جي هڪ صورت شفاعت جو عقيدو آهي. ماڻهو اِهو فرض ڪري ٿا ونن تہ انسانن يا غير انسانن ۾ ڪجهہ اهڙيون بلند هستيون آهن جيڪي خدا جي نظر ۾ مقدس آهن. خدا انهن جي ٻڌي ٿو ۽ انهن جي سفارش تي دنيا جي رزق يا آخرت جي نجات جا فيصلا ڪندو آهي. پر هن قسم جو عقيدو باطل آهي. اِهو خدا جي خدائي جو ڪمتر اندازو آهي.

خدا اهڙي قسم جي هر شرڪ کان پاڪ آهي. خدا پنهنجن صفتن جو جيڪو تعارف پنهنجي عظيم ڪائنات ۾ ڪرائي رهيو آهي، اُن لحاظ کان اهڙي قسم جا سڀ عقيدا بلڪل باطل آهن. اهڙي ڪنهن عقيدي جو مطلب اِهو آهي تہ خدا اُهو نہ آهي جيڪو بظاهر پنهنجن تخليقي صفتن جي آئيني ۾ نظر اچي رهيو آهي يا پوءِ خدا جي صفتن ۾ تضاد آهي. ظاهر آهي تہ انهن ٻنهي مان ڪا شي ممڪن نہ آهي.

خدا انسانيت جو آغاز دينِ فطرت سان ڪيو هو. اُن وقت سيني انسانن جو هڪ ئي دين هو. اُن کان پوءِ ماڻهن اختلاف ڪري دين جا مختلف روپ ٺاهي ورتا. اُن جو سبب اُن آزادي جو غلط استعمال آهي جيڪا ماڻهن کي امتحان جي ڪري ڏني وئي آهي. جيڪڏهن خدا ظاهر ٿي وڃي تہ اُن جي طاقتن کي ڏسي ماڻهن جي سرڪشي ختم ٿي وڃي ۽ اوچتو اختلاف جي جاءِ تي اتحاد پيدا ٿي وڃي، ڇاڪاڻ تہ خوف جي شدت راءِ جي اختلاف کي ختم ڪري ٿي ڇڏي. پر خدا قيامت کان پهرين هن صورتحال ۾ مداخلت نہ ڪندو. موجوده دنيا کي خدا امتحان جي لاءِ بڻايو آهي ۽ امتحان جي فضا باقي رکڻ جي لاءِ ضروري آهي تہ حقيقت لڪيل رهي ۽ ماڻهن کي موقعو هجي تہ اُهي پنهنجي عقل کي صحيح رخ تي بہ استعمال ڪري سگهن ۽ غلط رخ تي بہ.

وَ يَقُوۡلُوۡنَ لَوۡ لَاۤ اُنۡزِلَ عَلَيۡهِ اٰيَةٌ مِّنۡ رَّبِّهٖ ۚ فَقُلۡ اِنَّمَا الۡغَيۡبُ لِلّٰهِ فَانۡتَظِرُوۡا ۚ اِنِّيۡ مَعَكُمۡ
ع مِّنَ الۡمُنۡتَظِرِيۡنَ ﴿٢٠﴾ وَ اِذَاۤ اَذَقۡنَا النَّاسَ رَحۡمَةً مِّنۡۢ بَعۡدِ ضَرَّآءَ مَسَّتۡهُمۡ اِذَا لَهُمۡ مَّكۡرٌ فِيۡۤ
اٰيَاتِنَا ؕ قُلِ اللّٰهُ اَسۡرَعُ مَكۡرًا ؕ اِنَّ رُسُلَنَا يَكۡتُبُوۡنَ مَا تَمۡكُرُوۡنَ ﴿٢١﴾

۽ اهي چون ٿا تہ نبيءَ تي اُن جي رب طرفان ڪا نشاني ڇو نہ لاٿي وئي، چئو تہ غيب جي خبر تہ الله ڪي ئي آهي. توهان ماٺهو انتظار ڪريو. آئون بہ توهان سان گڏ انتظار ڪرڻ وارن مان آهيان. ۽ جڏهن ڪنهن تڪليف ڪان پوءِ اسان ماڻهن کي پنهنجي رحمت جو مزو چکائيندا آهيون تہ هو فوراً اسان جي نشانين جي معاملي ۾ اٽڪل بازي ڪرڻ لڳندا آهن. چئو تہ الله پنهنجي رٿ رٿڻ ۾ انهن کان بہ زياده تيز آهي. بيشڪ اسان جا فرشتا توهان جون اٽڪلون لکي رهيا آهن. ٢٠-٢١

---

مڪي جا ماڻهو جڏهن مسلسل انڪار جي طريقي تي قائم رهيا، تہ خدا انهن تي ڏڪار موڪليو. جيڪو ست سال مسلسل رهيو ۽ آخرڪار رسول اللهﷺ جي دعا کان پوءِ ختم ٿيو. اِها هڪ نشاني هئي جنهن مان ڪين اهو سبق وٺڻ کپي ها تہ رسولﷺ جو انڪار ڪرڻ کان پوءِ هو خدا جي پڪڙ ۾ اچي ويندا. پر سندن حال اِهو ٿيو تہ جيستائين ڏڪار رهيو اُهي توبهہ زاري ڪندا رهيا ۽ جڏهن ڏڪار ختم ٿيو تہ چوڻ لڳا تہ اِهي تہ زماني جا لاها چاڙها آهن جيڪي هر ڪنهن سان پيش ايندا آهن، ان جو رسولﷺ کي مڃڻ يا نہ مڃڻ سان ڪو تعلق نہ آهي.

پيغمبر کان ماڻهو نشاني گهرندا آهن. پر اصل سوال نشاني جي ظاهر ٿيڻ جو نہ آهي، بلڪ ان مان سبق وٺڻ جو آهي. چاڪاڻ تہ نشاني رڳو ڏسڻ جي لاءِ هوندي آهي، اُها مجبور ڪرڻ جي لاءِ نہ هوندي آهي. نشاني ظاهر ٿيڻ ڪانپوءِ بہ اِهو ماڻهو جي پنهنجي اختيار ۾ هوندو آهي تہ هو اُن کي مڃي يا ڪو ڪوڙو سبب ڏئي ان کي رد ڪري ڇڏي.

پوءِ جڏهن بہ خدا جي آخري نشاني ظاهر ٿيندي آهي تہ اُن جي مقابلي ۾ انسان کي ڪو اختيار نہ هوندو آهي، اِها آخري نشاني حجت پوري ڪرڻ ڪانپوءِ خدا جي عدالت بڻجي ايندي آهي ۽ اُها مختلف پيغمبرن جي لاءِ مختلف صورتن ۾ ايندي آهي. پيغمبر آخر الزمان جي لاءِ مختلف مصلحتن جي ڪري اِها نشاني اهڙي صورت ۾ ظاهر ٿي جو منڪرين کي مغلوب ڪري مؤمنن کي انهن تي غالب ڪري ڇڏيو. شاهہ عبدالقادر صاحب هِن سلسلي ۾ موضح القرآن ۾ لکن ٿا "يعني جيڪڏهن چون تہ اسان ڪيئن سمجهون تہ تنهنجي ڳالهہ سچ آهي. فرمايو ويو تہ اڳيان هلي حق تعاليٰ هِن دين کي روشن ڪندو ۽ مخالف ذليل ۽ برباد ٿي ويندا، پوءِ ايئن ئي ٿيو. سچ جي نشاني هڪ دفعو ڪافي آهي ۽ هر دفعي مخالف ذليل ٿين تہ فيصلوئي ٿي ويندو. حالانڪ فيصلي جو ڏينهن دنيا ۾ نہ آهي."

ماڻهو جڏهن سرڪشي ڪندو آهي ۽ ان جي ڪري سندس ڪجهہ بگڙندي نظر نہ ٿو اچي تہ هو اجا بہ وڌيڪ دلير ٿي ويندو آهي. هو سمجهي ٿو تہ هو خدا جي پڪڙ کان ٻاهر آهي. حالانڪ اِها عين خدا جي تدبير هوندي آهي. خدا سرڪش ماڻهن کي دير ڏيندو آهي تہ جيئن هو بي فڪر ٿي خوب سرڪشي ڪري ۽ ان سرڪشي جي وقت خدا جا فرشتا پردي ۾ رهي خاموشيءَ سان ان جا سڀ قول ۽

فعل لکندا رهن ٿا، ايستائين جو جڏهن ان جو وقت پورو ٿي ويندو آهي تہ اچانڪ موت جو فرشتو ظاهر ٿي ان کي پڪڙي وٺندو آهي تہ جيئن ان کي سندس عملن جو حساب ڏيڻ جي لاءِ خدا جي سامهون حاضر ڪري ڇڏي.

هُوَ الَّذِيۡ يُسَيِّرُكُمۡ فِي الۡبَرِّ وَ الۡبَحۡرِ ؕ حَتّٰۤى اِذَا كُنۡتُمۡ فِي الۡفُلۡكِ ۚ وَ جَرَيۡنَ بِهِمۡ بِرِيۡحٍ طَيِّبَةٍ وَّ فَرِحُوۡا بِهَا جَآءَتۡهَا رِيۡحٌ عَاصِفٌ وَّ جَآءَهُمُ الۡمَوۡجُ مِنۡ كُلِّ مَكَانٍ وَّ ظَنُّوۡۤا اَنَّهُمۡ اُحِيۡطَ بِهِمۡ ۙ دَعَوُا اللّٰهَ مُخۡلِصِيۡنَ لَهُ الدِّيۡنَ ۚ لَئِنۡ اَنۡجَيۡتَنَا مِنۡ هٰذِهٖ لَنَكُوۡنَنَّ مِنَ الشّٰكِرِيۡنَ ﴿۲۲﴾ فَلَمَّاۤ اَنۡجٰهُمۡ اِذَا هُمۡ يَبۡغُوۡنَ فِي الۡاَرۡضِ بِغَيۡرِ الۡحَقِّ ؕ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّمَا بَغۡيُكُمۡ عَلٰۤى اَنۡفُسِكُمۡ ۙ مَّتَاعَ الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا ۫ ثُمَّ اِلَيۡنَا مَرۡجِعُكُمۡ فَنُنَبِّئُكُمۡ بِمَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۲۳﴾

اِهو الله ئي آهي جيڪو توهان کي بر ۽ بحر ۾ هلائي ٿو. پوءِ جڏهن توهان ٻيڙي ۾ هوندا آهيو ۽ ٻيڙيون ماڻهن کي ڪٽي سٺائن واءُن ۾ هلي رهي هونديون آهن ۽ ماڻهو ان سان خوش هوندا آهن تہ اوچتو اٿائو واءُ ايندو آهي ۽ انهن تي هر طرف کان لهرون اٿڻ لڳنديون آهن ۽ اُهي گمان ڪري وٺندا آهن تہ اسان گهيرجي ويا آهيون، ان وقت اُهي پنهنجي دين کي الله جي لاءِ خالص ڪري ان کي پڪارڻ لڳندا آهن تہ جيڪڏهن تون اسان کي هن مان نجات ڏني تہ يقينًا اسان شڪر گذار ٻانها ٿيجي ويندا سون. پوءِ جڏهن هو کين نجات ڏيندو آهي تہ فورًا ئي زمين ۾ ناحق سرڪشي ڪرڻ لڳندا آهن. اي انسانو! توهان جي سرڪشي توهان جي پنهنجي ئي خلاف آهي، دنيا جي زندگي جو نفعو ڪٽي وٺو، پوءِ توهان کي اسان ڏانهن موٽي اچڻو آهي، پوءِ اسان ٻڌائي ڇڏينداسون جيڪو ڪجهہ توهان ڪري رهيا هئا. ۲۲-۲۳

---

انسان هڪ بي حد حساس وجود آهي. هو تڪليف کي برداشت نہ ٿو ڪري سگهي. اهو ئي سبب آهي جو انسان تي جڏهن ڪنهن تڪليف جو لمحو ايندو آهي تہ هو فورًا سنجيده ٿي ويندو آهي، ان وقت ان جي ذهن تان سڀئي مصنوعي پردا هٽي ويندا آهن. فڪر وارن لمحن ۾ ماڻهو ان حقيقت جو اعتراف ڪري وٺندو آهي، جنهن جو اعتراف ڪرڻ جي لاءِ هُو بي فڪري وارن لمحن ۾ تيار نہ هوندو آهي.

ان جو هڪ مثال سمنڊ جو سفر آهي. سمنڊ جڏهن سڪون ۾ هجي ۽ ٻيڙي منزل ڏانهن هلي رهي هجي تہ مسافرن لاءِ اهو لمحو وڏو خوشگوار هوندو آهي. ان وقت انهن جي اندر هڪ ڪوڙو اعتماد پيدا ٿي ويندو آهي. هو سمجهي ٿا وٺن تہ سندن معاملو درست آهي، هاڻي ان کي ڪوبہ بگاڙي نہ ٿو سگهي.

ان ڪانپوءِ سمنڊ جون هوائون لڳنديون آهن. جبل جيڏيون لهرون مسافرن کي چئني پاسن کان گهيري وٺنديون آهن. انهن جي وچ ۾ وڏي ۾ وڏا جهاز بہ معمولي ڪَکَ وانگر لوڏا کائڻ لڳندا آهن. بظاهر ايئن معلوم ٿيندو آهي تہ هاڻي هلاڪت کانسواءِ ٻيو ڪو انجام نہ آهي. ان وقت خدا جا منڪر خدا جو اقرار ڪري وٺندا آهن. ديوتائن کي پوڄڻ وارا اڪيلي خدا کي پڪارڻ شروع ڪندا آهن. پنهنجي قوت ۽ پنهنجي تدبير تي ڀروسو ڪرڻ وارا هر ٻي شيءِ کي ڇڏي صرف خدا کي ياد ڪرڻ لڳندا

آهن. اِهو هڪ تجرباتي ثبوت آهي تہ توحيد هڪ فطري عقيدو آهي. توحيد کانسواءِ ٻيا سڀ عقيدا بلڪل بي بنياد آهن.

اهو تجربو ٻڌائي ٿو تہ خدا کي نہ مڃڻ جي لاءِ ماڻهو چاهي ڪيترائي فلسفا پيش ڪري، حقيقت ۾ اهڙي قسم جون سڀ ڳالهيون ۽ نظريا بي فڪري جي ڪري پيدا ٿيا آهن. انسان جيڪڏهن چاڙهي وٺي تہ دنيا جا اُهي موقعا رکيو وقتي طور تي ان کي امتحان جي لاءِ ڏنا ويا آهن تہ هو فورًا سنجيده بڻجي وڃي. ان جي ذهن تان سڀ مصنوعي پردا هٽي وڃن ۽ هڪ خدا کي مڃڻ کانسواءِ ان وٽ ڪو چارو نہ رهي.

اِهو وقت اچڻ وارو آهي جڏهن انسان خدا جي جلال کي ڏسي ڏکي پوندو ۽ خدا جي سيني ڳالهين جو اقرار ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندو. پر عقلمند اُهو آهي جيڪو موجوده زندگي جي تجربن ۾ اچڻ واري زندگي جي حقيقتن کي ڏسي وٺي ۽ اڄ ئي ان ڳالهہ کي مڃي وٺي جنهن کي هُو سڀاڻي مڃڻ تي مجبور ٿي ويندو. پر سڀاڻي جو مڃڻ ان جي ڪجهہ بہ ڪم نہ ايندو.

اِنَّمَا مَثَلُ الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا كَمَآءٍ اَنۡزَلۡنٰهُ مِنَ السَّمَآءِ فَاخۡتَلَطَ بِهٖ نَبَاتُ الۡاَرۡضِ مِمَّا يَاۡكُلُ النَّاسُ وَ الۡاَنۡعَامُ ؕ حَتّٰۤى اِذَاۤ اَخَذَتِ الۡاَرۡضُ زُخۡرُفَهَا وَ ازَّيَّنَتۡ وَ ظَنَّ اَهۡلُهَاۤ اَنَّهُمۡ قٰدِرُوۡنَ عَلَيۡهَاۤ ۙ اَتٰٮهَاۤ اَمۡرُنَا لَيۡلًا اَوۡ نَهَارًا فَجَعَلۡنٰهَا حَصِيۡدًا كَاَنۡ لَّمۡ تَغۡنَ بِالۡاَمۡسِ ؕ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الۡاٰيٰتِ لِقَوۡمٍ يَّتَفَكَّرُوۡنَ ﴿۲۴﴾

دنيا جي زندگيءَ جو مثال ايئن آهي جيئن پاڻي، اسان ان کي آسمان تان وسايو تہ زمين جي پيداوار خوب نڪتي، جنهن کي انسان کائيندا آهن ۽ جنهن کي جانور کائيندا آهن. ايستائين جڏهن زمين پوري رونق تي اچي وئي ۽ سونهن ڀري ٿي ويئي ۽ زمين وارن گمان ڪري ورتو تہ هاڻي اِها اسان جي قابو ۾ آهي تہ اوچتو ان تي اسان جو حڪم رات جو يا ڏينهن جو اچي ويو، پوءِ اسان ان کي ڪٽي ناس ڪري ڇڏيو ڄڻ تہ ڪالهہ اُتي ڪا شيءِ ئي نہ هئي. اهڙي طرح اسان نشانيون کولي بيان ڪندا آهيون انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي غور ڪندا آهن- ٢٤

---

دنيا جي زندگي امتحان جي لاءِ آهي، ان ڪري انسان کي هتي مڪمل آزادي ۽ هر قسم جا موقعا ڏنا ويا آهن. بظاهر ايئن معلوم ٿيندو آهي تہ انسان آزاد آهي جيڪو چاهي ڪري ۽ جنهن قسم جو مستقبل چاهي پنهنجي لاءِ بڻائي. پر انهن حالتن جي وچ ۾ اهڙا واقعا بہ رکيا ويا آهن جيڪي سوچڻ وارن جي لاءِ نصيحت جو ڪم ڪندا آهن جيڪي ان حقيقت جي نشاندهي ڪري رهيا آهن تہ اِهو سڀ ڪجهہ رڳو ڪجهہ وقت لاءِ آهي ۽ تمام جلد ان کان کسجڻ وارو آهي.

انهن مان ئي هڪ زمين جي سرسبز ٿيڻ جو واقعو آهي. جڏهن مينهن وسي ٿو تہ زمين هر قسم جي ساوڪ سان ڀرجي ويندي آهي. ماڻهو ان کي ڏسي خوش ٿيندو آهي. هو سمجهڻ لڳندو آهي تہ معاملو پوري طرح ان جي قابو ۾ آهي ۽ تمام جلد هو تيار فصل جو مالڪ ٿيڻ وارو آهي. عين ان وقت اوچتو ڪا آفت اچي ويندي آهي. مثلاً واچوڙو اچي وڃي، ڳڙا پئجي وڃن، مڪڙ ڦهچي وڃن ۽ هڪ لمحي ۾ سڄو فصل ناس ٿي وڃي.

اِهوئي حال انساني زندگي جو آهي. ماڻهو هڪ عمده جسم وٺي پيدا ٿيندو آهي. دنيا جا

اسباب ان جو ساٿ ڏيندا آهن ۽ هُو پنهنجي لاءِ هڪ ڪامياب ۽ شاندار زندگي بڻائي وٺندو آهي. هاڻي ان جي اندر هڪ اعتماد پيدا ٿي ويندو آهي. هو سمجهي ٿو ته ان جو معاملو ان جي پنهنجي اختيار ۾ آهي. ان ڪانپوءِ ڪنهن ڏينهن يا ڪنهن رات ۾ اچانڪ ان جو موت اچي ويندو آهي. پنهنجي پاڻ کي آزاد ۽ با اختيار سمجهڻ وارو يڪدم پاڻ کي ان حال ۾ ڏسندو آهي ته مجبوري ۽ بي اختياري کانسواءِ ان وٽ ٻيو ڪو سرمايو نه آهي. ماڻهو جيڪڏهن هِن حقيقت کي سامهون رکي ته هو دنيا ۾ ڪڏهن به سرڪش نه بڻجي. هو ڪڏهن به ڪنهن سان ظلم ۽ بي انصافي جو طريقو اختيار نه ڪري.

وَ اللّٰهُ يَدۡعُوۡۤا اِلٰى دَارِ السَّلٰمِ ؕ وَ يَهۡدِىۡ مَنۡ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ ﴿۲۵﴾ لِلَّذِيۡنَ
اَحۡسَنُوا الۡحُسۡنٰى وَ زِيَادَةٌ ؕ وَ لَا يَرۡهَقُ وُجُوۡهَهُمۡ قَتَرٌ وَّ لَا ذِلَّةٌ ؕ اُولٰٓئِكَ اَصۡحٰبُ
الۡجَنَّةِ ۚ هُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿۲۶﴾ وَ الَّذِيۡنَ كَسَبُوا السَّيِّاٰتِ جَزَآءُ سَيِّئَةٍ بِمِثۡلِهَا ۙ وَ
تَرۡهَقُهُمۡ ذِلَّةٌ ؕ مَا لَهُمۡ مِّنَ اللّٰهِ مِنۡ عَاصِمٍ ۚ كَاَنَّمَاۤ اُغۡشِيَتۡ وُجُوۡهُهُمۡ قِطَعًا مِّنَ الَّيۡلِ
مُظۡلِمًا ؕ اُولٰٓئِكَ اَصۡحٰبُ النَّارِ ۚ هُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿۲۷﴾

۽ الله سلامتيءَ واري گهر ڏانهن سڏي ٿو ۽ هو جنهن کي چاهي ٿو سڌو رستو ڏيکاري ڇڏيندو آهي. جن ماڻهن ڀلائي ڪئي، سندن لاءِ ڀلائي آهي ۽ اُن تي وڌيڪ به آهي ۽ سندن چهرن تي نه ڪارانڻ ڇانيل هوندي ۽ نه ذلت. اِهي ئي جنت وارا ماڻهو آهن. اُهي ان ۾ سدائين رهندا. ۽ جن برايون ڪمايون ته بُرائي جو بدلو اُن جي برابر آهي. ۽ مٿن رسوائي ڇانيل هوندي. ڪو به انهن کي الله کان بچائڻ وارو نه هوندو. ڄڻ ته انهن جي منهن کي انڌيري رات جي ٽُڪرن سان ڍڪيو ويو آهي. اِهي ئي ماڻهو دوزخ وارا آهن، هُو اُن ۾ هميشه رهندا. ٢٥-٢٧

---

دنيا جي ظاهري حالتن مان ماڻهو دوکو کائي ويندو آهي، هُو وقتي شيءِ کي مستقل شيءِ سمجهي وٺندو آهي، ان جو خيال اِهو ٿي ويندو آهي ته خوشين ۽ راحتن جي زندگي جيڪا هُو چاهي ٿو اُها ان کي هِن موجوده دنيا ۾ حاصل ٿي سگهي ٿي. پر انساني آرزوئن جي دنيا اصل ۾ آخرت ۾ نهڻ واري آهي ۽ ان کي اُهوئي ماڻهو پائيندو جيڪو خدا جي ٻڌايل طريقي جي مطابق ان کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري.

دنيا ۾ ماڻهو جيڪڏهن سڀ ڪجهه حاصل ڪري به وٺي، تڏهن به هُو ان تي قادر نه آهي ته پنهنجي زندگي کي ڏک ۽ غم کان پاڪ ڪري سگهي. هِتي هر خوشي سان گڏ ڪو انديشو لڳل هوندو آهي. هِتي جي هر ڪاميابي تمام جلد ڪنهن ڏک جي نذر ٿي ويندي آهي. ڏک ۽ رنج کان خالي زندگي هڪ اهڙي انوکي زندگي آهي جيڪا رڳو جنت جي ماحول ۾ ماڻهو کي حاصل ٿيندي. جيڪي ماڻهو هِن راز کي ڳولهي لهن، اُهي ئي اُهي ماڻهو آهن جيڪي جنت جو رستو اختيار ڪندا ۽ بالآخر خدا جي ابدي جنتن ۾ پهچندا.

راحت ۽ خوشي جي زندگي جيڪا انسان کي بيحد پسند آهي، اُها خدا جي وفادار ٻانهن کي ڪامل طور تي جنت ۾ ملندي. پر راحت ۽ خوشي جو هڪ ٻيو درجو آهي جيڪو معروف راحتن ۽

خوشين کان تمام بلند آهي، اِهو مالڪِ ڪائنات جو ديدار آهي جيڪو جنت وارن کي خاص طور تي حاصل ٿيندو. جيڪو خدا راحتن ۽ لذتن جو خالق آهي، اُهو يقيني طور سڀني راحتن ۽ لذتن جو سڀ کان وڏو خزانو آهي. حديث ۾ اچي ٿو تہ جڏهن جنت وارا جنت ۾ ۽ دوزخ وارا دوزخ ۾ داخل ٿي چڪا هوندا، تہ هڪ پڪارڻ وارو پڪاريندو تہ اي جنت وارو توهان جي لاءِ خدا جو هڪ وعدو باقي آهي، جنهن کي هاڻي هُو پورو ڪرڻ چاهي ٿو. جنت وارا اِهو ٻڌي چوندا تہ اُهو ڇا آهي، ڇا اسان جي ساهمي جا پلڙا ڳرا نہ ڪيا ويا. ڇا اسان جي چهرن کي روشن نہ ڪيو ويو. ڇا خدا اسان کي جنت ۾ داخل نہ ڪري ڇڏيو ۽ اسان کي باهہ کان نہ بچايو. ان کانپوءِ سندن مٿان پردو هٽايو ويندو ۽ اُهي پنهنجي رب کي ڏسڻ لڳندا. بس خدا جو قسم ڪا نعمت جيڪا خدا کين ڏني آهي، اُها سندن لاءِ خدا کي ڏسڻ کان وڌيڪ محبوب نہ هوندي ۽ نہ ان کان وڌيڪ سندن اکين کي ٿڌي ڪرڻ واري هوندي. (تفسير ابن ڪثير)

ماڻهوءَ جي لاءِ ان کان وڌيڪ سخت حالت ٻي ڪا بہ نہ آهي جو هو هڪ اِهڙي بيوسي ۾ هجي جيڪا هميشہ لاءِ هجي، هُو پنهنجي پاڻ کي هڪ اِهڙي ناڪامي ۾ پيل ڏسي جيڪا ٻيهر ڪاميابي ۾ بدلجي نہ ٿي سگهي. جيڪي ماڻهو آخرت ۾ جهنم جا رهواسي قرار ڏنا ويندا، اُهي اهڙي ئي حالت ۾ هوندا جو انهن جا چهرا شديد مايوسي جي ڪري اهڙا ڪارا ٿي ويندا ڄڻ تہ اُهي گهرين اونداهين ۾ ٻڏي ويا هجن. ماڻهوءَ کي جيتوڻيڪ ان جي برائي جو بدلو اوتروئي ڏنو ويندو جيتري اِن برائي ڪئي آهي. پر هميشہ جي محرومي جو احساس ان جي لاءِ ايترو سخت هوندو جو ان جو چهرو اُن جي ڪري ڪارو پئجي ويندو.

وَ يَوْمَ نَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ثُمَّ نَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا مَكَانَكُمْ اَنْتُمْ وَ شُرَكَآؤُكُمْ ۚ
فَزَيَّلْنَا بَيْنَهُمْ وَ قَالَ شُرَكَآؤُهُمْ مَّا كُنْتُمْ اِيَّانَا تَعْبُدُوْنَ ﴿٢٨﴾ فَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًۢا بَيْنَنَا
وَ بَيْنَكُمْ اِنْ كُنَّا عَنْ عِبَادَتِكُمْ لَغٰفِلِيْنَ ﴿٢٩﴾ هُنَالِكَ تَبْلُوْا كُلُّ نَفْسٍ مَّآ اَسْلَفَتْ وَ رُدُّوْٓا
النصف ع ٣ ٨ اِلَى اللّٰهِ مَوْلٰىهُمُ الْحَقِّ وَ ضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٣٠﴾

۽ جنهن ڏينهن اسان انهن سڀني کي گڏ ڪنداسون، پوءِ اسان شرڪ ڪرڻ وارن کي چوندا سون تہ ٻيهو توهان بہ ۽ توهان جا ٺهرايل شريڪ بہ. پوءِ اسان سندن وچ ۾ جدائي وجهنداسون ۽ سندن شريڪ چوندا تہ توهان اسان جي عبادت تہ نہ ڪندا هئا. الله اسان جي وچ ۾ شاهدي جي لاءِ ڪافي آهي. اسان تہ توهان جي عبادت کان بلڪل بي خبر هئاسون. اُن وقت هر ماڻهو پنهنجي ڪيل عمل کي ڏسندو جيڪو هن ڪيو هو ۽ ماڻهو پنهنجي حقيقي مالڪ الله ڏانهن موٽايا ويندا ۽ انهن جيڪي ڪوڙ گهڙيا هئا سي سڀ ڪانئن وسري ويندا. ٢٨-٣٠

---

شرڪ جو سڄو ڪاروبار ڪوڙين اميدن تي قائم هوندو آهي، اُهي واقعا جيڪي خدا جي ڪرڻ سان ٿي رهيا هجن، انهن کي ماڻهو ڪوڙن معبودن ڏانهن منسوب ڪري ڇڏيندو آهي ۽ اهڙي طرح هٿ ٺوڪيل تصور جي تحت انهن کي پنهنجي عقيدت ۽ عبادت جو مرڪز بڻائي وٺندو آهي. پنهنجن انهن معبودن تي سندس اعتماد ايترو وڌي ويندو آهي جو هو سمجهي وٺندو آهي تہ آخرت ۾ بہ هو ضرور خدا جي مقابلي ۾ سندس مددگار بڻجي ويندا ۽ اُن کي خدا جي پڪڙ کان بچائي وٺندا.

اِهي سراسر ڪوڙيون اميدون آهن. پر دنيا جي زندگي ۾ انهن جو ڪوڙو هجڻ ظاهر نه ٿو ٿئي. ڇاڪاڻ ته هتي امتحان جي ڪري هر شيءِ تي غيب جو پردو پيل آهي. هتي ماڻهوءَ ڪي موقعو آهي ته هو واقعن کي پنهنجي فرضي معبودن ڏانهن منسوب ڪري ۽ اهڙي طرح سندن معبودن تي مطمئن ٿي وڃي. پر آخرت ۾ سڀئي حقيقتون پڌريون ٿي وينديون. اُتي معلوم ٿي ويندو ته هن ڪائنات ۾ هڪ خدا کان سواءِ ڪنهن کي به ڪو زور حاصل نه هو.

موجوده دنيا ۾ ماڻهو هن خوش فهمي ۾ جي رهيو آهي ته هو پنهنجن وڏن يا پنهنجن معبودن جي مدد سان آخرت جي مرحلي ۾ ڪامياب ٿي ويندو. پر آخرت ۾ اوچتو اُن تي کلندو ته اُن جو اعتماد سراسر ڪوڙو هو. هتي ڪنهن کي رڳو اُهو ئي ملندو جيڪو عمل اُن خود ڪيو هو. فرضي سهارا اُتي اهڙي طرح غائب ٿي ويندا ڄڻ ته انهن جو ڪو به وجود ئي نه هو.

قُلْ مَنْ يَّرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ اَمَّنْ يَّمْلِكُ السَّمْعَ وَ الْاَبْصَارَ وَ مَنْ يُّخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَ يُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ وَ مَنْ يُّدَبِّرُ الْاَمْرَ ؕ فَسَيَقُوْلُوْنَ اللّٰهُ ۚ فَقُلْ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿۳۱﴾ فَذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمُ الْحَقُّ ۚ فَمَا ذَا بَعْدَ الْحَقِّ اِلَّا الضَّلٰلُ ۖۚ فَاَنّٰى تُصْرَفُوْنَ ﴿۳۲﴾ كَذٰلِكَ حَقَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ عَلَى الَّذِيْنَ فَسَقُوْۤا اَنَّهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۳۳﴾

چئو ته ڪير توهان کي آسمان ۽ زمين مان روزي ڏيندو آهي. يا ڪير آهي جيڪو ڪنن تي ۽ اکين تي اختيار رکي ۽ ڪير بي جان مان جاندار کي ۽ جاندار مان بي جان کي ڪڍي ٿو. ۽ ڪير معاملات جو انتظام ڪري رهيو آهي. اُهي چوندا ته الله. چئو ته پوءِ توهان ڊڄو نه ٿا. بس اُهوئي الله توهان جو حقيقي پروردگار آهي. حق کان پوءِ گمراهي کانسواءِ ٻيو ڇا رهيو. پوءِ توهان ڪيڏانهن ڦيرايا پيا وڃو. اهڙي طرح تنهنجي رب جي ڳالهه سرڪشي ڪرڻ وارن جي حق ۾ پوري ٿي چڪي آهي ته اُهي ايمان نه آڻيندا. ۳۱-۳۳

---

انسان کي رزق جي ضرورت آهي. اِهو رزق انسان کي ڪيئن ملندو آهي. اِهو ملندو آهي. ڪائنات جي مجموعي عمل سان. سڄي ڪائنات آخري حد تائين هم آهنگي سان هڪ خاص رخ تي عمل ڪندي آهي. تڏهن اِهو ممڪن ٿيندو آهي ته انسان جي لاءِ اُهو رزق فراهم ٿي سگهي جنهن کانسواءِ ان جو وجود هن سرزمين تي ممڪن نه آهي. خدا لاءِ فرض ڪيل شريڪ يا ديويون يا ديوتا خود مشرڪن جي عقيدي مطابق انسان جي لاءِ رزق فراهم نه ٿا ڪري سگهن. ڇاڪاڻ ته هر هڪ فرض ڪيل شريڪ ڪنهن جز جو معبود آهي ۽ ڪنهن خاص جز جو معبود ڪڏهن به اهڙي واقعي کي ظهور ۾ نه ٿو آڻي سگهي جيڪو ڪُل جزن جي موافقت سان ظهور ۾ ايندو هجي.

اهڙي طرح مثلاً انسان جي اندر ڪَن ۽ اک جهڙيون حيرت انگيز صلاحيتون آهن. اُهي به ڪنهن ديوتا جون ڏنل نه ٿيون ٿي سگهن. ديوي ۽ ديوتا يا ته پاڻ انهن صلاحيتن کان محروم آهن يا جيڪڏهن ڪنهن فرض ڪيل معبود جي اندر اِهي صلاحيتون هجن ته هو انهن جو خالق نه آهي. ايستائين جو خود اُن کان اِهي صلاحيتون ايئن ئي کسجي وينديون آهن. جهڙي طرح عام انسانن کان کسجي وينديون

آهن. اِهڙي طرح بي جان شين ۾ جان وجهڻ ۽ جاندار کي بي جان ڪري ڇڏڻ بہ فرض ڪيل معبودن جي لاءِ ممڪن نہ آهي نہ ان جو ڪو ثبوت آهي ۽ نہ ڪو پوجا ڪرڻ وارو ان جي باري ۾ اهڙي قسم جو عقيدو رکي ٿو. پوءِ ڪيئن ممڪن آهي تہ اِهي شيون انهن معبودن کان انسانن کي ملن.

ڪيڏي عجيب ڳالهہ آهي تہ انسان هڪ وڏي خدا کي مڃي ٿو. ان جي باوجود هُو خدا ڏانهن اهڙيون ڳالهيون منسوب ڪندو آهي جيڪي ان جي سيني اعليٰ صفتن جي نفي ڪري ڇڏين. ان جو سبب اِهو آهي تہ هُن کي خدا جو ڊپ نہ آهي. ڪوڙن خيالن جي ذريعي هُن پنهنجي پاڻ کي اِها تسلي ڏئي ڇڏي آهي تہ خدا ان کان پڇاڻو ڪرڻ وارو نہ آهي ۽ جيڪڏهن پڇا ڪرڻ جي نوبت اچي وئي تہ هُن جي مدد لاءِ اهڙيون هستيون آهن جيڪي خدا وٽ سفارش ڪري ان کي بچائي وٺنديون. ڊپ ماڻهو کي سنجيده بڻائي ٿو، جڏهن ڪنهن جي دل مان ڊپ نڪري وڃي تہ ان کي غير منصفاڻي رويي اختيار ڪرڻ کان ڪا شيءِ روڪي نہ ٿي سگهي. اهڙو ماڻهو سرڪش ٿي ويندو آهي ۽ سرڪش ماڻهو ڪڏهن بہ سچائي جو اعتراف نہ ٿو ڪري.

قُلْ هَلْ مِنْ شُرَكَآئِكُمْ مَّنْ يَّبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ ؕ قُلِ اللّٰهُ يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ
يُعِيْدُهٗ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ﴿۳۴﴾ قُلْ هَلْ مِنْ شُرَكَآئِكُمْ مَّنْ يَّهْدِيْٓ اِلَى الْحَقِّ ؕ قُلِ اللّٰهُ يَهْدِيْ
لِلْحَقِّ ؕ اَفَمَنْ يَّهْدِيْٓ اِلَى الْحَقِّ اَحَقُّ اَنْ يُّتَّبَعَ اَمَّنْ لَّا يَهِدِّيْٓ اِلَّآ اَنْ يُّهْدٰى ۚ فَمَا
لَكُمْ ۛ كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ ﴿۳۵﴾ وَمَا يَتَّبِعُ اَكْثَرُهُمْ اِلَّا ظَنًّا ؕ اِنَّ الظَّنَّ لَا يُغْنِيْ مِنَ الْحَقِّ
شَيْـًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِمَا يَفْعَلُوْنَ ﴿۳۶﴾

چؤ، ڇا توهان جي بڻايل شريڪن ۾ ڪو آهي جيڪو پيدائش جي ابتدا ڪندو هجي ۽ پوءِ هو ٻيهر بہ پيدا ڪري. چؤ الله ئي پهريون ڀيرو پيدا ڪندو آهي ۽ پوءِ بہ اُهوئي ٻيهر پيدا ڪندو. پوءِ توهان ڪيڏانهن ڦيرايا وڃو ٿا. چؤ ڇا توهان جي شريڪن مان ڪو اهڙو آهي جيڪو حق ڏانهن رهنمائي ڪندو هجي، چؤ تہ الله ئي حق ڏانهن رهنمائي ڪندو آهي. پوءِ جيڪو حق ڏانهن رهنمائي ڪندو هجي اُهو پيروي جي لائق آهي يا اُهو جنهن کي خود ئي رستو نہ ملندو هجي، بلڪ ان کي رستو ٻڌايو وڃي. توهان کي ڇا ٿي ويو آهي، توهان ڪهڙو فيصلو ڪريو ٿا. انهن مان اڪثر رڳو گمان جي پيروي ڪري رهيا آهن ۽ گمان حق جي پورا ئي نہ ٿو ڪري. الله چڱي طرح ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجھ هُو ڪندا آهن. ٣٤-٣٦

---

الله کانسواءِ جن کي خدائي جو مقام ڏنو ويندو آهي، چاهي اُهي انسان هجن يا غير انسان، ڪوبہ اِها طاقت نہ ٿو رکي جو هُو ڪنهن غير موجود کي موجود ڪري ڇڏي. اِهو رڳو الله آهي جنهن جي لاءِ تخليق جو عمل ثابت آهي ۽ جڏهن تخليق جو عمل هڪڙي دفعي الله جي لاءِ ثابت آهي تہ ان ئي سان اِهو بہ ثابت ٿي ويندو آهي تہ هُو اُن عمل کي بار بار بہ ڪري سگهي ٿو ۽ ڪندو. پوءِ جڏهن وجود اول ۽ وجود ثاني ٻنهي جو اختيار رڳو هڪ الله کي آهي تہ ٻين شريڪن جي طرف توجهہ ڪرڻ بلڪل فضول آهي. انهن کان ماڻهو نہ پهرين زندگي ۾ ڪجھ حاصل ڪرڻ وارو آهي ۽ نہ وري ٻي زندگي ۾.

اِهوئي معاملو رهنمائي جو آهي. ”الله رهنمائي ڪندو آهي“. اِها شيءِ پيغمبرن جي هدايت مان ثابت آهي. پيغمبرن جنهن هدايت کي خدائي هدايت چئي انسانن جي سامهون پيش ڪيو اُها هڪ ثابت ٿيل هدايت آهي. ان جي ابتڙ شريڪن جو حال اِهو آهي ته هُو يا ته بلڪل ئي هِن قابل نه آهن جو هُو انسان کي حق ۽ ناحق جي باري ۾ ڪو علم ڏين (مثلاً بت) يا اُهي پنهنجن ڪمين ۽ محدود هجڻ جي ڪري خود رهنمائي جا محتاج آهن نه وري اِهو جو هو ٻين کي ڪا حقيقي رهنمائي فراهم ڪن (مثلاً: انساني معبود). جڏهن صورتحال اِها آهي ته انسان کي رڳو هڪ خدا ڏانهن رجوع ڪرڻ کپي، نه وري فرضي شريڪن ڏانهن.

شرڪ جو ڪاروبار ڪنهن حقيقي علم تي قائم نه آهي، بلڪ مفروضن ۽ قياس ۽ گمان تي قائم آهي. ڪجهه هستين جي باري ۾ بي بنياد طور تي اِها راءِ قائم ڪئي وئي آهي ته اُهي خدائي صفتن جا حامل آهن. حالانڪ ايڏي وڏي ڳالهه حقيقي علم جي بنياد تي قائم ڪري سگهجي ٿي نه وري رڳو اٽڪل ۽ قياس جي بنياد تي.

وَ مَا كَانَ هٰذَا الْقُرْاٰنُ اَنْ يُّفْتَرٰى مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَ لٰكِنْ تَصْدِيْقَ الَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ وَ تَفْصِيْلَ الْكِتٰبِ لَا رَيْبَ فِيْهِ مِنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٣٧﴾ اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ؕ قُلْ فَاْتُوْا بِسُوْرَةٍ مِّثْلِهٖ وَ ادْعُوْا مَنِ اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٣٨﴾ بَلْ كَذَّبُوْا بِمَا لَمْ يُحِيْطُوْا بِعِلْمِهٖ وَ لَمَّا يَاْتِهِمْ تَاْوِيْلُهٗ ؕ كَذٰلِكَ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٣٩﴾

۽ اهو قرآن اهڙو نه آهي جو الله کانسواءِ ڪو اُن کي ٺاهي وٺي. بلڪ هي تصديق آهي انهن اڳڪتين جي جيڪي ان کان پهرين اڳ ۾ موجود آهن. ۽ ڪتاب جي تفصيل آهي، ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته هِي جهانن جي پالڻهار طرفان آهي. ڇا ماڻهو چوندا آهن ته هن شخص ان کي گهڙي ورتو آهي. چئو ته توهان هن جهڙي هڪڙي سورة آڻي ڏيکاريو. ۽ الله کانسواءِ جنهن کي سڏي سگهو سڏي وٺو، جيڪڏهن توهان سچا آهيو. بلڪ اِهي ماڻهو ان شيءِ کي ڪوڙو ڪن ٿا جنهن کي سندن علم پهچي نه ٿو سگهي. ۽ جنهن جي حقيقت به اجا مٿن ظاهر نه ٿي آهي. اهڙي طرح انهن ماڻهن به ڪوڙو ڄاتو جيڪي انهن کان اڳ ۾ گذري چڪا آهن، پوءِ ڏس ته ظالمن جو انجام ڪهڙو ٿيو. ٣٧-٣٩

---

قرآن پنهنجو دليل پاڻ آهي، قرآن جو بلند ۽ برتر انداز ڪلام انتهائي طور تي ناقابل تقليد آهي ۽ اِهائي حقيقت اِهو ثابت ڪرڻ جي لاءِ ڪافي آهي ته قرآن هڪ غير انساني ڪلام آهي. جيڪڏهن اُهو ڪنهن انسان جو ڪلام هجي ها ته يقيناً ٻين انسانن جي لاءِ به اهو ممڪن هئڻ کپي ها ته اُهي پنهنجن ڪوششن سان اِهڙوئي هڪ ڪلام ٺاهي وٺن. قرآن جو ڪلام الٰهي هئڻ جو ٻيو ثبوت اِهو آهي جو هو انهن اڳڪتين جي تصديق آهي جيڪي ان جي باري ۾ اڳين آسماني صحيفن ۾ موجود آهن. آسماني تعليمات واريون قومون اڳ ۾ ئي هڪ آخري هدايت نامي جون منتظر هيون. قرآن ان ئي انتظار جو جواب بڻجي آيو آهي، پوءِ هِن ۾ شڪ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي، وڏيڪ اِهو ته اِهو ”ڪتاب“ جو

تفصيل آهي. يعني اُهي خدائي تعليمات جيڪي سڀني آسماني ڪتابن جو خلاصو آهن. انهن کي هو صحيح ۽ خالص روپ ۾ پيش ڪري ٿو. اِها هڪ واضح ۽ عقل جي مطابق ڳالهه آهي، جنهن مان ظاهر ٿيندو آهي ته قرآن اُن ئي خدا طرفان آيو آهي جنهن جي طرفان اڳيان آسماني ڪتاب آيا هئا.

جڏهن ڪو شخص چوندو آهي ته قرآن هڪ انساني تصنيف آهي ته هو پنهنجي دعويٰ کي هڪ اهڙي ميدان ۾ ڪٽي اچي ٿو جتي ان کي جانچڻ آسان هجي. ڇاڪاڻ ته هُو پنهنجي يا ٻين انسانن جي صلاحيتن کي استعمال ڪري قرآن جهڙي هڪ ڪتاب يا ان جهڙي هڪ سورة تيار ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙي طرح عملي طور تي ان دعويٰ کي رد ڪري سگهي ٿو ته قرآن خدائي ذهن مان نڪتل هڪ ڪتاب آهي. پر قرآني چئلينج جي باوجود ڪنهن جو ايئن نه ڪري سگهڻ آخري طور تي ثابت ڪري رهيو آهي ته قرآن کي انساني ڪتاب چوڻ وارن جي دعويٰ درست نه آهي.

قرآن جي صداقت جا اِهي دليل اهڙا نه آهن جو ماڻهو انهن کي سمجهي نه سگهي. اصل اِهو آهي ته قرآن کي ڪوڙو ڪرڻ جي نتيجن کان اُهي بي خوف آهن. انهن کي اِهو ڊپ نه آهي ته قرآن جو انڪار ڪري اُهي ڪنهن عذاب جي پڪڙ ۾ اچي ويندا. سندن مخالفت واري روش جو سبب اُها غير سنجيدگي آهي جيڪا سندن بي خوفي جي ڪري پيدا ٿي آهي نه ڪي ڪنهن قسم جي عقلي يا استدلالي اطمينان جي ڪري.

وَ مِنْهُمْ مَّنْ يُّؤْمِنُ بِهٖ وَ مِنْهُمْ مَّنْ لَّا يُؤْمِنُ بِهٖ ؕ وَ رَبُّكَ اَعْلَمُ بِالْمُفْسِدِيْنَ ﴿۴۰﴾ وَ اِنْ ع ۹
كَذَّبُوْكَ فَقُلْ لِّيْ عَمَلِيْ وَ لَكُمْ عَمَلُكُمْ ۚ اَنْتُمْ بَرِيْٓـُٔوْنَ مِمَّاۤ اَعْمَلُ وَ اَنَا بَرِيْٓءٌ مِّمَّا
تَعْمَلُوْنَ ﴿۴۱﴾ وَ مِنْهُمْ مَّنْ يَّسْتَمِعُوْنَ اِلَيْكَ ؕ اَفَاَنْتَ تُسْمِعُ الصُّمَّ وَ لَوْ كَانُوْا لَا
يَعْقِلُوْنَ ﴿۴۲﴾ وَ مِنْهُمْ مَّنْ يَّنْظُرُ اِلَيْكَ ؕ اَفَاَنْتَ تَهْدِي الْعُمْيَ وَ لَوْ كَانُوْا لَا يُبْصِرُوْنَ ﴿۴۳﴾
اِنَّ اللّٰهَ لَا يَظْلِمُ النَّاسَ شَيْـًٔا وَّ لٰكِنَّ النَّاسَ اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿۴۴﴾

۽ انهن مان ڪي اُهي آهن جيڪي قرآن تي ايمان آڻيندا ۽ اُهي به آهن جيڪي اُن تي ايمان نه آڻيندا. ۽ تنهنجو رب فسادين کي خوب ڄاڻي ٿو. ۽ جيڪڏهن هو توکي ڪوڙو ڀانئين ته چؤ منهنجو عمل منهنجي لاءِ آهي ۽ توهان جو عمل توهان جي لاءِ. توهان اُن کان بَري آهيو جيڪو آئون ڪريان ٿو ۽ آئون اُن کان بَري آهيان جيڪو توهان ڪري رهيا آهيو. ۽ انهن ۾ ڪي اهڙا به آهن جيڪي تو ڏانهن ڪن ڏئي ٻڌن ٿا ته پوءِ ڇا تون ٻوڙن کي ٻڌائيندين، جڏهن ته اُهي سمجھ کان ڪم نه وٺي رهيا هجن. ۽ انهن مان ڪجھ اهڙا آهن جيڪي تو ڏانهن ڏسندا آهن ته پوءِ ڇا تون انڌن کي رستو ڏيکاريندين جڏهن اُهي ڏسي نه رهيا هجن. الله ماڻهن تي ڪجھ به ظلم نه ٿو ڪري پر ماڻهو پاڻ پنهنجن جانين تي ظلم ڪن ٿا. ۴۰-۴۴

---

ايمان نه آڻڻ وارا خدا جي نظر ۾ فسادي آهن. ڇاڪاڻ ته پنهنجي فطرت کي بگاڙي ئي ڪنهن جي لاءِ اِهو ممڪن هوندو آهي ته هُو حق کي قبول ڪرڻ کان باز رهي. اهڙو ماڻهو پنهنجي ضمير جي آواز کي دٻائي ٿو. هُو پنهنجي سوچڻ جي صلاحيت کي استعمال نه ٿو ڪري، هُو پڌرن دليلن کي ڪوڙا لفظ ڳالهائي نظر انداز ڪري ڇڏيندو آهي. هُو ٻڌي ڪري نه ٿو ٻڌي ۽ سمجهڻ جي باوجود سمجهڻ جي

ڪوشش نہ ٿو ڪري، هو حق جي مقابلي ۾ پنهنجي تعصب ۽ پنهنجي مفاد کي ترجيح ڏيندو آهي.

بحث ۽ مناظرو ڪرڻ وارا ماڻهو آخري وقت تائين پنهنجو بحث جاري رکندا آهن. ”منهنجو معاملو مون سان آهي ۽ توهان جو معاملو توهان سان“. اهڙي قسم جو جملو چوڻ ۾ اُن کي پنهنجي شڪست نظر ايندي آهي، پر داعي فتح ۽ شڪست جي نفسيات کان بلند ٿي ڪم ڪندو آهي، ان ڪري جڏهن هو ڏسندو آهي تہ مخاطب ضد ۽ هٺ ڌرمي تي لهي آيو آهي ۽ مزيد ڳالهہ ڪرڻ جو ڪو فائدو نہ آهي تہ هو اِهو چئي الڳ ٿي ويندو آهي تہ اصل فيصلو الله وٽ ٿيڻو آهي. خدا جي ساهمي ۾ جيڪو ماڻهو جهڙو نڪرندو، اهڙوئي ان جو انجام ٿيندو.

حق کي نہ مڃڻ وارن مان هڪ طبقو اهڙو بہ آهي جيڪو شروع کان ئي خود کي حق جو منڪر ظاهر ڪري ڇڏيندو آهي. پر وڏيڪ هوشيار قسم جا ماڻهو ايئن ڪندا آهن جو بظاهر اُهي ڳالهين کي اِهڙي طرح ٻڌندا آهن ڄڻ تہ اُهي سچ پچ سمجهڻ گهرن ٿا. حالانڪ سندن دل ۾ اِهو هوندو آهي تہ انهن کي سمجهڻو ئي نہ آهي. اُهي داعي جي صداقت جي نشانين کي اهڙي طرح ڏسندا آهن، ڄڻ هو ڪُلي دل سان ان جو مشاهدو ڪرڻ چاهين ٿا. حالانڪ سندن ذهن اڳ ۾ ئي اهو طي ڪري چڪو هوندو آهي تہ ان کي ڏسڻو ۽ مڃڻو نہ آهي. اهڙن ماڻهن جي ظاهري سادگي سان داعي هِن خوش گماني ۾ پئجي ويندو آهي تہ اُهي حق جي قبوليت جي قريب آهن، پر خدا جي نظر ۾ اُهي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي ڪن رکندي ٻوڙا ۽ اکيون رکندي انڌا بڻجي وڃن. اهڙن ماڻهن کي ڪڏهن بہ خدا جي طرفان حق کي قبول ڪرڻ جي توفيق نہ ٿي ملي.

خدا انسان کي بهترين صلاحيتون ڏنيون آهن. جيڪڏهن هُو انهن صلاحيتن کي استعمال ڪري تہ هُو ڪڏهن بہ گمراهہ نہ ٿئي. پر انسان پاڻ کي آزاد ڏسي غلط فهمي ۾ پئجي ويندو آهي. هُو ناحق سرڪشي ڪرڻ لڳندو آهي. ايئن اُن ڪري ٿيندو آهي جو هو خدا جي اسڪيم کي نہ ٿو سمجهي، جيڪا شيءِ ان کي آزمائش طور تي ڏني وئي هئي، ان کي هُن پنهنجو حق سمجهي ورتو.

وَيَوۡمَ يَحۡشُرُهُمۡ كَاَنۡ لَّمۡ يَلۡبَثُوۡۤا اِلَّا سَاعَةً مِّنَ النَّهَارِ يَتَعَارَفُوۡنَ بَيۡنَهُمۡ ؕ قَدۡ خَسِرَ
الَّذِيۡنَ كَذَّبُوۡا بِلِقَآءِ اللّٰهِ وَمَا كَانُوۡا مُهۡتَدِيۡنَ ﴿۴۵﴾ وَاِمَّا نُرِيَنَّكَ بَعۡضَ الَّذِىۡ نَعِدُهُمۡ اَوۡ
نَتَوَفَّيَنَّكَ فَاِلَيۡنَا مَرۡجِعُهُمۡ ثُمَّ اللّٰهُ شَهِيۡدٌ عَلٰى مَا يَفۡعَلُوۡنَ ﴿۴۶﴾ وَلِكُلِّ اُمَّةٍ رَّسُوۡلٌ ۚ فَاِذَا
جَآءَ رَسُوۡلُهُمۡ قُضِىَ بَيۡنَهُمۡ بِالۡقِسۡطِ وَهُمۡ لَا يُظۡلَمُوۡنَ ﴿۴۷﴾

۽ جنهن ڏينهن الله کين گڏ ڪندو، ڄڻ تہ اُهي رڳو ڏينهن جي هڪ گهڙي دنيا ۾ هئا. هُو هڪٻئي کي سڃاڻيندا. بيشڪ سخت گهاٽي ۾ رهيا اُهي ماڻهو جن الله سان ملاقات کي ڪوڙو ڄاتو ۽ اُهي سڌي واٽ تي نہ آيا. اسان توکي ان جو ڪو حصو ڏيکاري ڇڏيون جنهن جو اسان انهن سان واعدو ڪري رهيا آهيون يا توکي وفات ڏيون، بهرحال کين اسان ڏانهن ئي موٽڻو آهي، پوءِ الله شاهد آهي ان تي جيڪو ڪجهہ هُو ڪري رهيا آهن. ۽ هر امت جي لاءِ هڪ رسول آهي. پوءِ جڏهن سندن رسول اچي وڃي ٿو تہ انهن جي وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪيو ويندو آهي ۽ انهن تي ڪو ظلم نہ ٿو ٿئي. ۴۵-۴۷

اڄ آخرت انسان جي سامهون نہ آهي. اڄ هڪ ڏسڻ واري ڪي اُن ڪي تصور جي نگاهہ سان ڏسڻو پوندو آهي. ان ڪري جيڪو ماڻهو آخرت جي معاملي ۾ سنجيده نہ هجي، ان ڪي آخرت تمام پري جي شيءِ معلوم ٿيندي. پر جڏهن آخرت سيني ڪان وڏي حقيقت جي حيثيت سان انسان جي مٿان اچي ڪرندي ۽ اُهو ان ڪي ان جي سيني سختين سان گڏ پنهنجي اک سان ڏسڻ لڳندو، ان وقت هو پنهنجي موجوده سرڪشي ڪي وساري ڇڏيندو. ان وقت هُن ڪي دنيا جو اِهو وقت تمام حقير معلوم ٿيندو، جنهن جي ڪري هُو غفلت ۾ پئجي ويو هو ۽ آخرت جي باري ۾ سوچڻ جي لاءِ تيار نہ هو.

آخرت ڪنهن اجنبي دنيا ۾ نہ ايندي، بلڪ اسان جي ڄاتل سڃاتل دنيا ۾ واقع ٿيندي. اُتي ماڻهو پاڻ ڪي اُن ئي ماحول ۾ لهندو جنهن ماحول ۾ هُن ان ڪان اڳ ۾ حق جو انڪار ڪيو هو. هو پنهنجي پاڻ ڪي ساڳين ماڻهن جي وچ ۾ ڏسندو جن جي پروسي تي هو سرڪشي ڪندو هو، پر اُن ڏينهن اُهي ماڻهو سندس ڪجهہ بہ ڪم نہ ايندا. اُن وقت هر ڳالهہ اُن جي ذهن ۾ اهڙي طرح تازي هوندي ڄڻ تہ اُن تي ڪا مدت گذري ئي نہ هجي.

داعي ۽ مدعو جو معاملو آسمان جي هيٺان پيش اچڻ وارن سيني معاملن ۾ سيني ڪان وڌيڪ نازڪ معاملو آهي. داعي جيڪڏهن حقيقت ۾ حق ڪي ڪٽي اُٿيو آهي تہ هو هن دنيا ۾ خدا جو نمائندو آهي، هُن جو اقرار خدا جو اقرار آهي ۽ اُن جو انڪار خدا جو انڪار. اهڙو هڪ واقعو انجام ڪان خالي نہ ٿو ٿي سگهي. حق جي داعي جي ظهور ڪان پوءِ لازمي ايئن ٿيندو آهي تہ اُن جي زبان مان جاري ٿيڻ واري رباني ڪلام جي سامهون سيئي ماڻهو بي دليل ٿي رهجي ويندا آهن. اِها باطل جي مٿان حق جي پهرين فتح آهي. ٻي فتح آخرت ۾ ٿيندي تہ اُن جا مخالف خدا جي اذن (حڪم) سان اُن جي مقابلي ۾ بي زور ٿي رهجي ويندا. پهريون واقعو لازمي طور تي هِن ئِي دنيا ۾ پيش ايندو آهي ۽ ٻيو واقعو بہ جزئي طور تي موجوده دنيا ۾ ظاهر ٿيندو آهي، جيڪڏهن خدا اُن ڪي موجوده دنيا ۾ ظاهر ڪرڻ چاهي.

اهو معاملو هر گروهہ سان پيش اچڻ لازمي آهي، جڏهن تہ اُن ڪي خدا جي سامهون بيهڻ ڪان پهرين موجوده دنيا ۾ خدا جي نمائندي جي سامهون بيهاريو وڃي. اهڙي طرح خدا ڏسندو آهي تہ ڪير آهي جيڪو اُن وقت پنهنجي پاڻ ڪي خدا جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي، جڏهن تہ خدا اڃا غيب ۾ آهي ۽ ڪير آهي جيڪو ايئن نہ ٿو ڪري. پهرين قسم جي ماڻهن لاءِ جنت آهي ۽ ٻئي قسم جي ماڻهن لاءِ دوزخ.

وَ يَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٤٨﴾ قُلْ لَّآ اَمْلِكُ لِنَفْسِيْ ضَرًّا وَّ لَا نَفْعًا
اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ؕ لِكُلِّ اُمَّةٍ اَجَلٌ ؕ اِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ فَلَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّ لَا
يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿٤٩﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَتٰىكُمْ عَذَابُهٗ بَيَاتًا اَوْ نَهَارًا مَّا ذَا يَسْتَعْجِلُ مِنْهُ
الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٥٠﴾ اَثُمَّ اِذَا مَا وَقَعَ اٰمَنْتُمْ بِهٖ ؕ آٰلْـٰٔنَ وَ قَدْ كُنْتُمْ بِهٖ تَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿٥١﴾ ثُمَّ
قِيْلَ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ذُوْقُوْا عَذَابَ الْخُلْدِ ۚ هَلْ تُجْزَوْنَ اِلَّا بِمَا كُنْتُمْ تَكْسِبُوْنَ ﴿٥٢﴾

۽ اهي چون ٿا تہ اِهو واعدو ڪڏهن پورو ٿيندو جيڪڏهن توهان سچا آهيو. چؤ تہ آئون پنهنجي لاءِ بہ نقصان ۽
نفعي جو مالڪ نہ آهيان، پر جيڪو الله چاهي. هر اُمت جي لاءِ هڪ وقت آهي. جڏهن انهن جو وقت اَچي وڃي
ٿو تہ پوءِ اُهي نہ هڪ گهڙي پوئتي ٿيندا ۽ نہ اڳتي. چؤ تہ ٻڌايو جيڪڏهن الله جو عذاب توهان تي رات جو اچي
يا ڏينهن جو اچي وڃي تہ مجرم ماٺهو اُن کان پهرين ڇا ڪري سگهندا. پوءِ ڇا جڏهن عذاب اچي ويندو تڏهن اُن
تي يقين ڪندو، هاڻي مڃو ٿا. ۽ توهان تہ انهي جي تقاضا ڪندا هئا. پوءِ ظالمن کي چيو ويندو تہ هاڻي هميشہ
جو عذاب چکو. اِهو اُن ئي جو بدلو ملي رهيو آهي جيڪو ڪجهہ توهان ڪمائيندا هئا. ۴۸-۵۲

---

انسان موجوده دنيا ۾ پاڻ کي آزاد سمجهي ٿو. هو بظاهر ڏسي ٿو تہ هو جيڪو چاهي ڪري، ڪو هُن کي جهلڻ وارو نہ آهي، ڪو هُن کي سزا ڏيڻ وارو نہ آهي. اِها صورتحال هُن کي غفلت ۾ وجهي ڇڏيندي آهي. ايستائين جو خدا جو داعي جڏهن هُن کي اُن جي عمل جي انجام کان ڊيڄاريندو آهي تہ هو خدا جي داعي جو مذاق اڏائڻ لڳندو آهي. هو چوندو آهي تہ اسان جي سرڪشي تي تون جنهن عذاب جي ڌمڪي ڏئي رهيو آهين اُها ڪڏهن پوري ٿيندي.

اهڙي قسم جي ڳالهين جو سبب ناداني ٴ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ اِها پڪڙ خود حق جي داعي جي طرفان اچڻ واري نہ آهي، بلڪ خدا جي طرفان اچڻ واري آهي ۽ خدا هر گهڙي پنهنجي دنيا ۾ ٻڌائي رهيو آهي تہ هُن جو طريقو جلدي جو طريقو نہ آهي.

ٻيڙي ۾ سوراخ هجي ۽ ڪو ملاح اُن جي پرواهہ نہ ڪندي ٻيڙي کي دريا ۾ وجهي ڇڏي تہ خدا جو لازمي قانون آهي تہ اهڙي ٻيڙي پاڻي ۾ ٻڏي ويندي. پر اهڙي ٻيڙي فوراً پاڻي ۾ نہ ٻڏندي بلڪ خدا جي سنت جي مطابق پنهنجي مقرر وقت تي ٻڏندي آهي. اهڙي قسم جا مثال دنيا ۾ پکڙيا پيا آهن جيڪي انسان کي خدائي سنت جو تعارف ڪرائي رهيا آهن، پر انهن کي ڏسڻ جي باوجود هو چوندو آهي تہ جيڪڏهن انهن عملن تي خدا جو عذاب آهي تہ اُهو عذاب جلدي ڇو نہ ٿو اچي وڃي. اُن جو سبب اِهو آهي تہ انسان خدا جي پڪڙ جي باري ۾ سنجيده نہ آهي.

زلزلو ۽ طوفان خدائي واقعا آهن. اهي واقعا ٻڌائيندا آهن تہ جڏهن معاملو خدا ۽ انسان جي وچ ۾ هجي تہ فيصلي جو اختيار سڄي جو سڄو صرف پهرين ڌر کي هوندو آهي. پر انسان اُن تي غور نہ ٿو ڪري، هو رڳو اهو ڏسندو آهي تہ خدا جو قانون فوراً حرڪت ۾ نہ اچي رهيو آهي، ڇاڪاڻ تہ اُهو فوراً حرڪت ۾ نہ ٿو اچي، اُن ڪري هو غفلت ۾ پيو هوندو آهي. پر جڏهن خدا جو فيصلو ايندو تہ اُن وقت انسان پاڻ کي بي وس ڏسي سڀ ڪجهہ مڃي وٺندو. حالانڪ اُن وقت مڃڻ ڪجهہ ڪم نہ ايندو، ڇاڪاڻ تہ اُهو انجام جو وقت هوندو نہ وري عمل ڪرڻ جو.

ع ۵ ۱۳ ۱۰ وَ يَسۡتَنۡۢبِـُٔوۡنَكَ اَحَقٌّ هُوَ ؕ قُلۡ اِىۡ وَ رَبِّىۡۤ اِنَّهٗ لَحَقٌّ ؔؕ وَ مَاۤ اَنۡتُمۡ بِمُعۡجِزِيۡنَ۝۵۳ وَ لَوۡ اَنَّ
لِكُلِّ نَفۡسٍ ظَلَمَتۡ مَا فِى الۡاَرۡضِ لَافۡتَدَتۡ بِهٖ ؕ وَ اَسَرُّوا النَّدَامَةَ لَمَّا رَاَوُا الۡعَذَابَ ۚ وَ
قُضِىَ بَيۡنَهُمۡ بِالۡقِسۡطِ وَ هُمۡ لَا يُظۡلَمُوۡنَ۝۵۴ اَلَاۤ اِنَّ لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ ؕ اَلَاۤ
اِنَّ وَعۡدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّ لٰـكِنَّ اَكۡثَرَهُمۡ لَا يَعۡلَمُوۡنَ۝۵۵ هُوَ يُحۡىٖ وَيُمِيۡتُ وَاِلَيۡهِ تُرۡجَعُوۡنَ۝۵۶

وقف النبي صلى الله عليه وآله وسلم

۽ اُهي توکان پڇندا آهن تہ ڇا اِها ڳالھ سچ آهي. چؤ تہ ها منھنجي رب جو قسم هِي سچ آهي ۽ توهان اُن کي ٽَڪائي نہ سگھندؤ. ۽ جيڪڏهن هر ظالم وٽ اُهو سڀ ڪجھ هجي جيڪو زمين ۾ آهي تہ هُو اُن کي فديي ۾ ڏئي ڇڏڻ چاهيندو ۽ جڏهن اُهي عذاب کي ڏسندا تہ پنهنجي دل ۾ پڇتائيندا. ۽ سندن وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪيو ويندو ۽ مٿن ڪوبہ ظلم نہ ٿيندو. ياد رکو جيڪو ڪجھ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سڀ الله جو آهي، ياد رکو الله جو وعدو سچو آهي پر اڪثر ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن. اُهوئي جيئاري ٿو ۽ اُهوئي ماري ٿو ۽ انهيءَ ڏانهن توهان موٽايا ويندو. ۵۳-۵۶

---

عرب جي ماڻهن کي رسول اللهﷺ چيو تہ جيڪڏهن توهان پنهنجي اصلاح نہ ڪئي تہ توهان کي آخرت جو عذاب پڪڙي وٺندو. ان جي جواب ۾ اُهي پاڻﷺ جي ڳالھ جو مذاق اڏائڻ لڳا. ان جو مطلب اِهو نہ آهي تہ اُهي ماڻهو آخرت جا منڪر هئا. اهي اصل ۾ پيغمبر جي تنبيھ کي بي وزن سمجهي رهيا هئا، نہ وري آخرت کي. پيغمبرﷺ اسلام جي عظمت ان وقت تائين ماڻهن تي ثابت نہ ٿي هئي. ان وقت پاڻﷺ جا مخاطب پاڻﷺ کي هڪ معمولي انسان جي روپ ۾ ڏسندا هئا. سندن سمجھ ۾ نہ ايندو هو تہ اِهڙي معمولي انسان جي ڳالھ نہ مڃڻ سان سندن مٿان خدا جو عذاب ڪيئن اچي ويندو. اُنهن کي پاڻﷺ جي خدا جي نمائندي هئڻ تي شڪ هو، نہ وري خود خدا ۽ آخرت تي.

اِهو تڪرار حقيقت ۾ آخرت جي اقرار ۽ آخرت جي انڪار ۾ نہ هو، بلڪ وڏي شخصيت جي دين ۽ ننڍي شخصيت جي دين جي وچ ۾ هو. اُهي ماضي جي مشهور بزرگن سان پاڻ کي منسوب ڪندا هئا. اُهي پنهنجي پاڻ کي مڃيل شخصيتن جي دين تي سمجهندا هئا. ان جي مقابلي ۾ جڏهن هو پنهنجي سامهون وقت جي پيغمبر کي ڏسندا هئا تہ هُو انهن کي هڪ معمولي انسان جي روپ ۾ نظر ايندو هو. سندن سمجھ ۾ نہ ايندو هو تہ تاريخ جي جن وڏين وڏين شخصيتن سان گڏ اُهي پاڻ کي وابستہ ڪيل آهن، انهن سان وابستگي سندن لاءِ نجات جو سبب ڇو نہ هوندي ۽ نجات جي لاءِ اِهو ضروري ڇو آهي جو انهن کي پنهنجي پاڻ کي اُن شخص سان وابستہ ڪرڻو آهي، جنهن کي بظاهر ڪو تقدس ۽ عظمت حاصل نہ آهي. اِها ئي اُها نفسيات هئي جنهن ڪري انهن کي اِها جرائت ٿي جو هُو پاڻﷺ جو مذاق اڏائن.

ماڻهو هڪ حساس مخلوق آهي. هُو تڪليف کي برداشت نہ ٿو ڪري سگھي. دنيا ۾ جيستائين ان کي عذاب سان واسطو نہ ٿو پئي، هُو حق جو مذاق اڏائي ٿو. هُو ان کي بي نيازيءَ سان ٺُڪرائي ٿو ڇڏي. پر جڏهن آخرت جو عذاب سامهون هوندو تہ ان تي ايتري گهٻراهٽ طاري ٿيندي جو سڀ ڪجھ ان کي حقير ڏسڻ ۾ ايندو. سڄي دنيا جي دولت ۽ سڄي دنيا جون نعمتون بہ جيڪڏهن اُن وٽ هجن تہ عذاب جي مقابلي ۾ اُهي ايتريون بي قيمت نظر ايندين جو هو چاهيندو تہ سڀ ڪجھ ڏئي رڳو ايترو ٿي وڃي جو هُو هِن تڪليف مان نجات پائي سگھي.

پر آخرت جو مسئلو ڪو سودي بازي جو مسئلو نہ آهي. اِهو تہ پنهنجي ڪيل ڪمن جو انجام پوڳڻ جو مسئلو آهي. زندگي ۽ موت جي باري ۾ خدا جو جيڪو منصوبو آهي، اُن جو اُهو لازمي جز آهي. خدائي انصاف جو تقاضو آهي تہ ايئن ٿئي ۽ خدا جي قدرت هِن ڳالھ جي ضمانت آهي تہ اُهو هر حال ۾ ٿي رهندو.

ان جي پيش اچڻ ۾ جيڪا ڪجھ دير آهي، اُها رڳو اُن مقرر وقت جي اچڻ جي آهي. جڏهن تہ

موجوده امتحان جي مدت ختم ٿئي ۽ سڀئي انسان خدا وٽ پنهنجي آخري انجام جو فيصلو ٻڌڻ جي لاءِ حاضر ڪيا وڃن.

يٰاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَتْكُمْ مَّوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ شِفَآءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ ۙ وَ هُدًى وَّ
رَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۵۷﴾ قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَ بِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا ؕ هُوَ خَيْرٌ مِّمَّا
يَجْمَعُوْنَ ﴿۵۸﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ مَّآ اَنْزَلَ اللّٰهُ لَكُمْ مِّنْ رِّزْقٍ فَجَعَلْتُمْ مِّنْهُ حَرَامًا وَّ حَلٰلًا ؕ
قُلْ آٰللّٰهُ اَذِنَ لَكُمْ اَمْ عَلَى اللّٰهِ تَفْتَرُوْنَ ﴿۵۹﴾ وَ مَا ظَنُّ الَّذِيْنَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ
يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿۶۰﴾ ع

ع ٦ ١١ اي انسانؤ! توهان وٽ توهان جي رب جي طرفان نصيحت اچي وئي ۽ ان جي لاءِ شفا جيڪا سينن ۾ هوندي آهي ۽ ايمان وارن جي لاءِ هدايت ۽ رحمت. چؤ ته هِي الله جو فضل ۽ ان جي رحمت سان آهي. هاڻي ڪپي ته ماڻهو خوش ٿين، اِهو ان سڀ کان بهتر آهي جنهن کي اُهي جمع ڪري رهيا آهن. چؤ اِهو ٻڌايو ته الله توهان جي لاءِ جيڪو رزق نازل ڪيو هو، پوءِ توهان ان ۾ ڪجھ کي حرام ڪيو آهي ۽ ڪجھ کي حلال. چؤ، ڇا الله توهان کي هِن جو حڪم ڏنو هو يا توهان الله تي ڪوڙ مڙهي رهيا آهيو. ۽ قيامت جي ڏينهن جي باري ۾ انهن ماڻهن جو ڇا خيال آهي جيڪي الله تي ڪوڙ مڙهي رهيا آهن. بيشڪ الله ماڻهن تي وڏو فضل ڪرڻ وارو آهي، پر اڪثر ماڻهو شڪر ادا نه ٿا ڪن. ۵۷-۶۰

---

انسان هڪ نفسياتي مخلوق آهي. نفسيات جي ٺهڻ سان هو ٺهندو آهي ۽ نفسيات جي بگڙڻ سان هو بگڙندو آهي. خدا جي ڪتاب جي صورت ۾ جيڪا هدايت لٿي آهي، اُها انسان جي لاءِ سراسر رحمت آهي. اُن ۾ انسان جي لاءِ بهترين نصيحت موجود آهي. پر هن نصيحت کي پائڻ لاءِ ضروري آهي ته ماڻهو پنهنجي صحيح فڪر کي وڃائي نه ڇڏيو هجي. جيڪو ماڻهو پنهنجي صحيح فڪر جي صلاحيت کي بگاڙي ڇڏي، اُن جي لاءِ خدا جو نصيحت نامو بي اثر ٿي ويندو.

موجوده دنيا جون شيون ۽ اُن جون رونقون ماڻهو جي لاءِ "نقد" هونديون آهن. ماڻهو هر گهڙي انهن جي لذت ۽ خوبي جو تجربو ڪندو آهي. اُن جي مقابلي ۾ آخرت جون نعمتون رڳو "وعدي" جي حيثيت رکنديون آهن. ماڻهو رڳو انهن جي باري ۾ ٻڌندو آهي، هو انهن جو تجربو نه ٿو ڪري اُن ڪري اڪثر ماڻهو دنيا جي نقد شين تي ٽٽي پوندا آهن. پر جيڪو ماڻهو گهرائي سان سوچيندو ته هو هن ڳالھ تي خوش ٿيندو ته خدا پنهنجي هدايت نازل ڪري هُن جي لاءِ هميشه وارين نعمتن کي حاصل ڪرڻ جو در کولي ڇڏيو آهي.

الله انسان کي جيڪو ڪجھ ڏنو آهي، چاهي اُهو زرعي پيداوار جي صورت ۾ هجي يا ٻي ڪنهن صورت ۾، سڀ جو سڀ رزق آهي. ماڻهو جيڪڏهن انهن شين کي خدا جون ڏنل سمجهي ۽ خدا جي ٻڌايل طريقي مطابق استعمال ڪري ته اُن جي اندر خدا جي شڪر جو جذبو پيدا ٿيندو. پر شيطان هميشه هن ڪوشش ۾ رهندو آهي ته هو اُن نسبت کي بدلائي ڇڏي ته جيئن اُن "رزق" جي استعمال وقت ماڻهوءَ کي خدا جي ياد نه اچي، بلڪ ٻيون شيون ياد اچن. قديم زماني ۾ شيطان پيداوار ۾ فرض ڪيل

ديوي ۽ ديوتائن جون رسمون مقرر ڪيون، تہ جيئن ماڻهو انهن کي وٺندي خدا کي ياد نہ ڪري، بلڪ ديوي ۽ ديوتائن کي ياد ڪري. موجوده زماني ۾ اِهوئي مقصد شيطان مادي سببن ۽ دليلن جي ذريعي حاصل ڪري رهيو آهي. هو خدا طرفان ملڻ واري شيءِ کي مادي سببن جي تحت ملڻ واري شيءِ ٻڌائي ماڻهن کي ڏيکاري رهيو آهي تہ جيئن ماڻهو کي جڏهن اُهي نعمتون ملن تہ هو انهن کي خدا جو رزق نہ سمجهن، بلڪ صرف مادي جو ڪرشمو سمجهن.

وَ مَا تَكُوْنُ فِيْ شَاْنٍ وَّ مَا تَتْلُوْا مِنْهُ مِنْ قُرْاٰنٍ وَّ لَا تَعْمَلُوْنَ مِنْ عَمَلٍ اِلَّا كُنَّا عَلَيْكُمْ شُهُوْدًا اِذْ تُفِيْضُوْنَ فِيْهِ ؕ وَ مَا يَعْزُبُ عَنْ رَّبِّكَ مِنْ مِّثْقَالِ ذَرَّةٍ فِي الْاَرْضِ وَ لَا فِي السَّمَآءِ وَ لَاۤ اَصْغَرَ مِنْ ذٰلِكَ وَ لَاۤ اَكْبَرَ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ﴿٦١﴾ اَلَاۤ اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٦٢﴾ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ كَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿٦٣﴾ لَهُمُ الْبُشْرٰى فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَ فِي الْاٰخِرَةِ ؕ لَا تَبْدِيْلَ لِكَلِمٰتِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٦٤﴾ وَ لَا يَحْزُنْكَ قَوْلُهُمْ ۘ اِنَّ الْعِزَّةَ لِلّٰهِ جَمِيْعًا ؕ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٦٥﴾

۽ تون جنهن بہ حال ۾ هجين ۽ قرآن مان جيڪو بہ حصو تلاوت ڪري رهيو هجين ۽ توهان ماڻهو جيڪو بہ ڪم ڪندا هجو، اسان توهان تي شاهد هوندا آهيون جنهن وقت توهان ان ۾ مشغول هوندا آهيو. ۽ تنهنجي رب کان ذري برابر بہ ڪا شيءِ غائب نہ آهي نہ زمين ۾ ۽ نہ آسمان ۾ ۽ نہ ان کان ننڍي ۽ نہ وڏي، پر اُها هڪ واضح ڪتاب ۾ آهي. ٻڌي ڇڏيو الله جي دوستن لاءِ نہ ڪو خوف هوندو ۽ نہ اُهي غمگين ٿيندا. هي اُهي ماڻهو آهن جن ايمان آندو ۽ ڊڄندا رهيا. سندن لاءِ خوشخبري آهي دنيا جي زندگي ۾ بہ ۽ آخرت ۾ بہ. الله جي ڳالهين ۾ ڪا ڦيرقار نہ آهي. اِهائي وڏي ڪاميابي آهي. ۽ تو کي انهن جي ڳالهہ غم ۾ نہ وجهي. زور سڀ الله ئي جي لاءِ آهي، هو ٻڌڻ وارو ڄاڻڻ وارو آهي. ٦١-٦٥

---

دعوت هِن دنيا جي سيني ڪمن ۾ مشڪل ترين ڪم آهي. داعي پنهنجي پوري وجود کي دعوتي عمل ۾ شامل ڪندو آهي، ان ڪانپوءِ ئي اِهو ممڪن هوندو آهي تہ هُو ڪنهن پيغام جو داعي بڻجي سگهي. ان کان بہ وڌيڪ سخت مرحلو اِهو آهي جيڪو مخاطبن طرفان پيش ايندو آهي.

داعي جڏهن خدا جي دين کي خالص صورت ۾ پيش ڪندو آهي ۽ ان کي پڌرن دليلن جي زبان ۾ ثابت ڪري ڇڏيندو آهي تہ اهي سيئي ماڻهو مچرجي پوندا آهن جيڪي هٽ ٺوڪيل دين کي خدا جو دين ٻڌائي ديندار بڻيل هجن يا ديني پيشوائي جو مقام حاصل ڪيل هجن. اُهي داعي کي مغلوب ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. بي بنياد پروپيگنڊا، سازشون ايستائين جو جارحاڻيون ڪارروائيون، هر شيءِ کي هُو پنهنجي لاءِ جائز ڪري وٺندا آهن. موجوده دنيا ۾ مليل آزادي انهن کي موقعو ڏيندي آهي ۽ اُهي داعي جي خلاف جيڪو ڪجهہ ڪرڻ چاهيندا آهن اُهو ڪندا رهندا آهن. اِها صورتحال ايستائين پهچندي آهي جو دليل جي سڀي طاقت هڪ طرف ٿي ويندي آهي ۽ مادي شين جي سڀي طاقت ٻئي طرف.

اِها صورتحال بيشڪ تمام سخت هوندي آهي. ان ڪانپوءِ هڪ طرف ايئن ٿيندو آهي جو حق

جي مخالفن جا حوصلا وڌندا ويندا آهن. هو پاڻ کي ڪامياب سمجهڻ لڳندا آهن. ٻي طرف داعي اِهو خيال ڪندو آهي ته ڇا خدا ان معاملي ۾ غير جانبدار آهي. ڇا هُو مون کي حق ۽ باطل جي هِن جنگ ۾ وجهي پاڻ عليحده ٿي ويو آهي.

پر ايئن نه آهي. اِهو ممڪن نه آهي جو خدا حق جو ساٿ نه ڏي. مخالفن جو ٻي دليل تي وڃڻ ۽ دليل جي قوت جو داعي جي طرف هجڻ، اِهو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته خدا داعي سان گڏ آهي نه وري ٻئي جماعت سان. ڇاڪاڻ ته دليل موجوده دنيا ۾ خدا جو نمائندو آهي. جنهن سان گڏ دليل آهي، ان سان گڏ ڄڻ ته خدا آهي. حق جي مخالفن کي اڪڙائي جو موقعو رڳو ان آزادي جي ڪري مليل رهيو آهي، جيڪا امتحان جي لاءِ انهن کي ڏني وئي آهي. امتحان واري دنيا ختم ٿيندي ئي اِها صورتحال بدلجي ويندي. ان وقت عزت ۽ برتري ۽ ڪاميابي ان جي لاءِ هوندي جيڪو دليل جي بنياد تي بيٺو هو. جيڪي ماڻهو دليل کان خالي هوندا، اُهي اتي جي دنيا ۾ رسوا ۽ ناڪام ٿي رهجي ويندا. الله جي سچن داعين جي جماعت خدا جي دوستن جي جماعت آهي. الله انهن کي آخرت ۾ هڪ اهڙي اعليٰ زندگي جي خوشخبري ڏي ٿو، جتي نه انهن کي پوئين زندگي جي لاءِ ڪو پڇتاءُ هوندو ۽ نه ايندڙ زندگي جي لاءِ ڪو انديشو.

اَلَاۤ اِنَّ لِلّٰهِ مَنۡ فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَنۡ فِي الۡاَرۡضِ ؕ وَ مَا يَتَّبِعُ الَّذِيۡنَ يَدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ شُرَكَآءَ ؕ اِنۡ يَّتَّبِعُوۡنَ اِلَّا الظَّنَّ وَ اِنۡ هُمۡ اِلَّا يَخۡرُصُوۡنَ ﴿٦٦﴾ هُوَ الَّذِيۡ جَعَلَ لَكُمُ الَّيۡلَ لِتَسۡكُنُوۡا فِيۡهِ وَ النَّهَارَ مُبۡصِرًا ؕ اِنَّ فِيۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوۡمٍ يَّسۡمَعُوۡنَ ﴿٦٧﴾

ٻڌو جيڪي آسمانن ۾ آهن ۽ جيڪي زمين ۾ آهن سيئي الله ئي جا آهن. ۽ جيڪي ماڻهو الله کانسواءِ شريڪن کي پڪاريندا آهن، اُهي ڪنهن شيءِ جي پيروي ڪري رهيا آهن. اُهي رڳو گمان جي پيروي ڪري رهيا آهن ۽ اُهي رڳو اٽڪلون ڪندا رهندا آهن. اُهو الله ئي آهي جنهن توهان جي لاءِ رات بڻائي ته جيئن توهان سڪون حاصل ڪريو ۽ ڏينهن کي روشن بڻايو. بيشڪ هِن ۾ نشانيون آهن انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي ٻڌندا آهن. ٦٦-٦٧

---

زمين ۽ آسمان جي پٺيان ڪير آهي جنهن انهن کي سنڀالي رکيو آهي ۽ انهن کي هلائي رهيو آهي. اِهو سوال هر زماني ۾ انسان جي تلاش جو مرڪزي نڪتو رهيو آهي. پر ان سوال جو صحيح جواب ملڻ ان ئي وقت ممڪن آهي ته جڏهن ماڻهو غير مادي دنيا کي ڏسي سگهي غير مادي دنيا تائين ڏسڻ واري اک ڪنهن کي به حاصل نه آهي. اِهوئي سبب آهي جو هر اُهو جواب جيڪو انسان پاڻ ڏيندو آهي، اُهو رڳو قياس ۽ گمان جي بنياد تي هوندو آهي نه وري حقيقي علم جي بنياد تي.

هِن دنيا ۾ حقيقي علم جي بنياد تي ڳالهائڻ وارا صرف اُهي ماڻهو آهن جن کي پيغمبر چيو ويندو آهي. هِي اُهي خاص ماڻهو آهن جن جو رابطو ٻئي جهان سان سڌو سنئون قائم هوندو آهي. خدا خود انهن کي پنهنجي طرفان حقيقت جي خبر ڏيندو آهي. ان ڪري هِن دنيا ۾ پيغمبر جو علم ئي واحد علم آهي، جنهن تي يقيني طور تي ڀروسو ڪري سگهجي ٿو.

پيغمبرن جي دعويٰ جي صداقت کي جانچڻ جي لاءِ جيتوڻيڪ اسان وٽ ڪو سڌو سنئون ذريعو

نہ آهي. تڏهن بہ هڪ بالواسطہ ذريعو يقيني طور تي موجود آهي ۽ اُهو ذريعو ڪائنات جون آيتون (نشانيون) آهن. اِهي نشانيون پيغمبرن جي بيان ڪيل حقيقتن جي عملي تصديق ڪري رهيون آهن.

مثال طور اسان ڏسون ٿا تہ اسان جي زمين تي رات ڪانپوءِ ڏينهن ايندو آهي ۽ ڏينهن ڪانپوءِ رات ايندي آهي. اِها گردش هڪ انتهائي محڪم نظام جي ڪري وجود ۾ ايندي آهي، جيڪا رياضيءَ جي اصولن جي حد تائين منظم آهي. وڌيڪ اِهو تہ اِها گردش حيرت ناڪ حد تائين اسان جي زندگي جي موافق آهي. ان جي پويان واضح طور تي هڪ با مقصد منصوبو ڪم ڪندي نظر ايندو آهي. اِها صورتحال يقيني طور تي هڪ اهڙي قادر مطلق ۽ رحمان ورحيم جي وجود جو ثبوت آهي، جنهن جي خبر پيغمبر ڏيندا آهن.

جيڪي ماڻهو پنهنجي خيال جي مطابق ”شريڪن“ جي پيروي ڪري رهيا آهن، اُهي شريڪ چاهي قديمي هجن يا جديد مادي شريڪ، اُهي ماڻهو ڪنهن حقيقت جي پيروي نہ ڪري رهيا آهن، بلڪ رڳو پنهنجي قياس ۽ گمان جي پيروي ڪري رهيا آهن. پيغمبرن جي ذريعي ظاهر ٿيڻ واري حقيقت جي تصديق سڄي ڪائنات ڪري رهي آهي، پر ”مشرڪ“ جنهن شيءِ جا دعويدار آهن، ان جي تصديق ڪرڻ وارو ڪير نہ آهي.

قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا سُبْحٰنَهٗ ؕ هُوَ الْغَنِيُّ ؕ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ؕ اِنْ عِنْدَكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍۭ بِهٰذَا ؕ اَتَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٨﴾ قُلْ اِنَّ الَّذِيْنَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ لَا يُفْلِحُوْنَ ﴿٦٩﴾ؕ مَتَاعٌ فِي الدُّنْيَا ثُمَّ اِلَيْنَا مَرْجِعُهُمْ ثُمَّ نُذِيْقُهُمُ الْعَذَابَ الشَّدِيْدَ بِمَا كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ ﴿٧٠﴾ؑ

چوندا آهن تہ الله پٽ ڪري ورتو آهي. اُهو پاڪ آهي، بي نياز آهي. انهيءَ جو آهي جيڪو ڪجھ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو ڪجھ زمين ۾ آهي. توهان وٽ انهي ڳالھ جو ڪو دليل نہ آهي، ڇا توهان الله بابت اهڙي ڳالھ گهڙيو ٿا، جنهن جو توهان کي علم نہ آهي. چئو جيڪي ماڻهو الله تي ڪوڙ مُڙهيندا آهن اُهي ڪامياب نہ ٿيندا. سندن لاءِ رڳو دنيا ۾ ٿورو فائدو ماڻي وٺڻ آهي. پوءِ اسان ڏانهن ئي انهن جو موٽي اچڻ آهي. پوءِ اسان سندن انڪار جي بدلي سخت عذاب جو مزو چکائينداسون. ٦٨-٧٠

---

خدا جي لاءِ پٽ ۽ ڌيئرون مڃڻ خدا کي انسان تي قياس ڪرڻ آهي. انسان ڪمين ۽ حد بندين جو شڪار آهي. اُن ڪري هُن کي اولاد جي ضرورت آهي تہ جيئن ان جي ذريعي هو پنهنجن ڪمين ۽ محدود هجڻ جي تلافي ڪري سگهي، پر خدا جي معاملي ۾ اِهو قياس بلڪل بي بنياد آهي.

مخلوق جو نظام خود ئي اهڙي قسم جي خالق جي ترديد آهي. مخلوق جو عالمي نظام جنهن خدا جي شهادت ڏئي رهيو آهي، اُهو يقيني طور تي هڪ اهڙو خدا آهي جيڪو پنهنجي ذات ۾ آخري حد تائين ڪامل آهي. اُهو هر قسم جي عيبن ۽ ڪمين کان پاڪ آهي. خدا جيڪڏهن پنهنجي ذات ۾ ڪامل نہ هجي ها، جيڪڏهن هو عيبن ۽ ڪمين وارو خدا هجي ها تہ هو ڪڏهن بہ موجوده ڪائنات جهڙي ڪائنات کي نہ بڻائي سگهي ها ۽ نہ ان کي اِهڙي طرح هلائي سگهي ها جهڙي طرح اِها انتهائي

معياري صورت ۾ هلي رهي آهي.

ان جو مطلب اِهو آهي تہ پيغمبر جنهن واحد خدا جو تصور پيش ڪري رهيو آهي، ان جو وجود تہ زمين ۽ آسمان جي سڀني نشانين مان ثابت آهي. پر مشرڪن خدا جو جيڪو تصور ٺاهي رکيو آهي، ان جو ڪو ثبوت موجوده ڪائنات ۾ موجود نہ آهي. هاڻي ظاهر آهي تہ بي ثبوت خدا ڪي مڃڻ خود ئي هن ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ اهڙا ماڻهو ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿي سگهندا. ڇاڪاڻ تہ جيڪو خدا موجود ئي نہ هجي، اُهو ڪيئن ڪنهن جي مدد لاءِ ايندو ۽ ڪيئن ڪنهن کي بامراد ڪندو. جيڪو خدا حقيقي طور تي موجود آهي مشرڪ ان کي نہ ٿا مڃن ۽ جنهن خدا کي مڃيندا آهن ان جو ڪٿي بہ وجود نہ آهي. اهڙي حالت ۾ مشرڪ موجوده ڪائنات ۾ ڪيئن ڪامياب ٿي سگهن ٿا. سندن لاءِ جيڪو واحد انجام مقدر آهي، اُهو رڳو اِهو تہ آخرڪار اُهي بي وس ۽ بي سهارا ٿي رهجي وڃن ۽ هميشہ جي لاءِ ذلت ۽ ناڪامي ۾ پيا رهن.

موجوده دنيا ۾ انڪار يا شرڪ جو رويو اختيار ڪرڻ سان ڪنهن جو ڪجھ نہ ٿو بگڙي. ان ڪري ماڻهو غلط فهمي ۾ پئجي ويندو آهي. پر اِها صورتحال رڳو امتحان جي مهلت جي ڪري آهي. موجوده دنيا ۾ انسان کي امتحان جي ڪري عمل جي آزادي ڏني وئي آهي. جيئن ئي امتحان جي مدت ختم ٿيندي تہ موجوده صورتحال بہ ختم ٿي ويندي. ان وقت ماڻهو ڏسندو تہ ان وٽ انهن شين مان ڪابہ شيءِ نہ آهي جنهن جو هُو پاڻ کي مالڪ سمجهي سرڪش بڻجي ويو هو.

حديث ۾ آيو آهي تہ الله عقل کي چيو: ”اي عقل، هن ڪائنات ۾ مون توکان افضل، توکان حسين ۽ توکان بهتر مخلوق پيدا نہ ڪئي آهي“. انسان کي اهڙي عظيم نعمت ڏيڻ جو اِهو تقاضو آهي تہ ان جي ذميداري بہ عظيم هجي. اِهوئي سبب آهي تہ خدا وٽ سچائيءَ جو انڪار سڀني کان وڏو جرم آهي. سچائي کي جڏهن دليل سان ثابت ڪري ڇڏجي تہ ماڻهو جي مٿان لازم ٿي ويندو آهي تہ هُو ان کي مڃي. عقلي طور تي ثابت ٿيل هجڻ ڪانپوءِ جيڪڏهن هو سچائي کان انڪار ڪري ٿو تہ هو ناقابل معافي جرم ڪري رهيو آهي. خدا جڏهن انسان کي اهڙو عقل ڏنو آهي، جنهن سان هُو حق جو حق هجڻ ۽ باطل جو باطل هجڻ ڄاڻي سگهي تہ ان ڪانپوءِ ڪهڙي شيءِ هوندي جيڪا خدا وٽ ان جي لاءِ عذر بڻجي سگهي.

وَ اتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ نُوْحٍ ۘ اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ اِنْ كَانَ كَبُرَ عَلَيْكُمْ مَّقَامِيْ وَ تَذْكِيْرِيْ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَعَلَى اللّٰهِ تَوَكَّلْتُ فَاَجْمِعُوْٓا اَمْرَكُمْ وَ شُرَكَآءَكُمْ ثُمَّ لَا يَكُنْ اَمْرُكُمْ عَلَيْكُمْ غُمَّةً ثُمَّ اقْضُوْٓا اِلَيَّ وَ لَا تُنْظِرُوْنِ ﴿٧١﴾ فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَمَا سَاَلْتُكُمْ مِّنْ اَجْرٍ ؕ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ ۙ وَ اُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٧٢﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَنَجَّيْنٰهُ وَ مَنْ مَّعَهٗ فِي الْفُلْكِ وَ جَعَلْنٰهُمْ خَلٰٓئِفَ وَ اَغْرَقْنَا الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿٧٣﴾

۽ انهن کي نوح جو حال ٻڌاءِ جڏهن ان پنهنجي قوم کي چيو ته اي منهنجي قوم! جيڪڏهن منهنجو رهڻ ۽ الله جي آيتن سان نصيحت ڪرڻ توهان تي بار ٿي پيو آهي ته مون الله تي ڀروسو ڪيو. توهان پنهنجو گڏيل فيصلو ڪري وٺو ۽ پنهنجن شريڪن کي به پاڻ سان ملائي وٺو. توهان کي پنهنجي فيصلي ۾ ڪو شڪ باقي نه رهي، پوءِ توهان مون سان جيڪو ڪجهه ڪرڻ چاهيو ٿا سو ڪريو ۽ مون کي ڪا مهلت نه ڏيو. جيڪڏهن توهان منهن موڙيو ٿا ته مون توهان کان ڪابه مزدوري نه گهري آهي. منهنجي مزدوري ته الله جي ذمي آهي ۽ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي ته آئون فرمانبردارن مان ٿي رهان. پوءِ انهن هن کي ڪوڙو ڄاتو ته اسان نوح کي ۽ جيڪي ماڻهو اُن سان گڏ ٻيڙي ۾ هئا نجات ڏني ۽ ڪين جانشين بڻايو. ۽ انهن ماڻهن کي غرق ڪري ڇڏيو جن اسان جي نشانين کي ڪوڙو ڄاتو هو. ڏس ته ڇا انجام ٿيو انهن جو جن کي ڊيڄاريو ويو هو. ٧١-٧٣

---

حضرت نوحؑ قديم زماني جا رسول آهن. هُو جيستائين خاموش هئا ته قوم انهن جي عزت ڪندي رهي، پر جڏهن پاڻؑ حق جا داعي بڻجي بيٺا ۽ ماڻهن کي چوڻ لڳا ته هيئن ڪريو ۽ هيئن نه ڪريو ته هُو قوم جي نظر ۾ هڪ ناپسنديده ماڻهو بڻجي ويا. ايستائين جو قوم اعلان ڪري ڇڏيو ته توهان پنهنجي تبليغ ۽ نصيحت کان باز اچي وڃو نه ته اسان توهان کي پنهنجي زمين ۾ نه رهڻ ڏينداسون.

حضرت نوحؑ چيو ته توهان منهنجي معاملي کي هڪ انسان جو معاملو سمجهي رهيا آهيو، ان ڪري ايئن چئي رهيا آهيو. پر اِهو معاملو خدا جو معاملو آهي. مون سان وڙهڻ جي لاءِ توهان کي خدا سان وڙهڻو پوندو. توهان کي جيڪڏهن يقين نه هجي ته توهان اِهڙي طرح تجربو ڪري سگهو ٿا ته پنهنجن ساٿين ۽ شريڪن سان گڏجي منهنجي خلاف ڪا رِٿ رٿيو ۽ پنهنجي سڄي طاقت سان جيڪو ڪرڻو آهي ڪري ڇڏيو. توهان ڏسندؤ ته منهنجي مقابلي ۾ توهان جو هر منصوبو ناڪام ٿي ويندو. موجوده دنيا ۾ حق جي داعي جي صداقت کي جانچڻ جو معيار اِهو آهي جو هو هر حال ۾ پنهنجو ڪم پورو ڪري رهندو آهي، ڪوبه ان کي مغلوب ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿيندو آهي.

جيڪو ماڻهو خدا جي طرفان حق جي دعوت کڻي اُٿي، اُهو هميشه نشاني (دليل) جي زور تي اُٿندو آهي. دليل ڇاڪاڻ ته هڪ ذهني شيءِ آهي، ان ڪري ظاهر پسند انسان ان جي عظمت کي سمجهي نه ٿو سگهي. هُو ذهني طور تي لاجواب ٿيڻ جي باوجود اِن جي اڳيان جهڪڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندو آهي.

حق جي داعي کي دعوت جي جن آدابن ۽ اُصولن جو لازمي طور تي لحاظ ڪرڻو آهي، انهن ۾ هڪ اِهو آهي ته داعي پنهنجي مدعو (ٻڌندڙ) کان ڪنهن به قسم جو معاشي ۽ مادي مطالبو نه ڪري، چاهي هِن جي ڪري اُن کي ڪيتروئي نقصان ڪڻڻو پوي. ايئن ڪرڻ ان لاءِ ضروري آهي ته ٻنهي جي وچ ۾ آخر وقت تائين داعي ۽ مدعو جو تعلق باقي رهي، اهو ڪنهن به حال ۾ سياسي حريف ۽ مادي رقيب جو تعلق نه بڻجي.

حضرت نوحؑ جڏهن حجت پوري ڪرڻ جي حد تائين حق جو پيغام پهچائي ڇڏيو، پوءِ به سندس قوم سرڪشيءَ تي قائم رهي ته سرڪشن کي سيلاب ۾ غرق ڪري زمين انهن کان خالي ڪرائي وئي ۽ نوحؑ جي مؤمنن کي موقعو ڏنو ويو ته اُهي زمين جا وارث بڻجي ان تي آباد ٿين. هِن کي قرآن جي اصطلاح ۾ ”خلافت“ چيو ويندو آهي. سيلاب کان پهرين نوح جي قوم زمين تي خليفو بڻيل هئي، سيلاب کانپوءِ نوح جا مؤمن زمين جا خليفا قرار ڏنا ويا.

ثُمَّ بَعَثۡنَا مِنۡۢ بَعۡدِهٖ رُسُلًا اِلٰی قَوۡمِهِمۡ فَجَآءُوۡهُمۡ بِالۡبَیِّنٰتِ فَمَا کَانُوۡا لِیُؤۡمِنُوۡا بِمَا
کَذَّبُوۡا بِهٖ مِنۡ قَبۡلُ ؕ کَذٰلِکَ نَطۡبَعُ عَلٰی قُلُوۡبِ الۡمُعۡتَدِیۡنَ ﴿۷۴﴾

وري اسان نوح کانپوءِ کيترائي رسول سندس قوم ڏانهن موڪلياسون. اُهي انهن وٽ پڌرن دليلن سان آيا، پر اُهي اُن تي ايمان آڻڻ وارا نہ ٿيا جنهن کي اڳ ۾ انهن ڪوڙو ڀانئيو هو. اهڙي طرح اسان حد کان لنگهي وڃڻ وارن جي دلين تي مهر هڻي ڇڏيندا آهيون. ٧٤

---

هِن آيت ۾ ”حد کان لنگهي وڃڻ وارا“ انهن ماڻهن کي چيو ويو آهي جن جو حال اِهو هوندو آهي تہ جيڪڏهن هڪ دفعو هو حق جو انڪار ڪري ڇڏين تہ اُن کانپوءِ هو هِن ڳالھ کي پنهنجي عزت جو مسئلو بڻائي وٺندا آهن ۽ پوءِ حق کي مسلسل نظر انداز ڪندا رهندا آهن تہ جيئن ماڻهن جي نظر ۾ سندن دين جو علم ۽ سندن برحق هجڻ مشڪوڪ نہ ٿي وڃي.
جيڪي ماڻهو اهڙي قسم جو رويو اختيار ڪن، انهن کي دنيا ۾ اِها سزا ملندي آهي جو سندن دلين تي مهر هڻي ويندي آهي. يعني خدا جي قانون مطابق انهن جي نفسيات آهستي آهستي اهڙي ٿي ويندي آهي جو آخرڪار حق جي معاملي ۾ انهن جو احساس باقي نہ ٿو رهي. شروع ۾ انهن جي اندر جيڪا ٿوري حساسيت زنده هئي اُها بہ آخرڪار مرده ٿي رهجي ويندي آهي. اُهي ان قابل نہ ٿا رهن جو حق ۽ ناحق جي معاملي ۾ تڙپن ۽ بي چين ٿين ۽ ناحق کي ڇڏي حق کي قبول ڪري وٺن. حضرت نوح عليہ السلام ۽ اُن کان پوءِ اچڻ وارن اڪثر رسولن جي تاريخ ان جي تصديق ڪري ٿي.
الله جي طرفان جڏهن بہ ڪو حق جو داعي ايندو آهي تہ هو ان حال ۾ ايندو آهي جو ان سان گڏ ڪنهن بہ قسم جي ظاهري عظمت نہ هوندي آهي. ان وٽ جيڪا واحد شيءِ هوندي آهي اُها رڳو دليل آهي. جيڪي ماڻهو دليل جي زبان ۾ حق کي مڃين، اُهي ئي حق جي داعي کي بہ مڃيندا آهن، جن ماڻهن جو حال اِهو هجي جو دليل جي زبان انهن کي متاثر نہ ڪري سگهي تہ اُهي حق جي داعي کي سڃاڻڻ کان بہ محروم رهندا آهن ۽ ان جو ساٿ ڏيڻ کان بہ.

ثُمَّ بَعَثۡنَا مِنۡۢ بَعۡدِهِمۡ مُّوۡسٰی وَ هٰرُوۡنَ اِلٰی فِرۡعَوۡنَ وَ مَلَا۠ئِهٖ بِاٰیٰتِنَا فَاسۡتَکۡبَرُوۡا وَ کَانُوۡا
قَوۡمًا مُّجۡرِمِیۡنَ ﴿۷۵﴾ فَلَمَّا جَآءَهُمُ الۡحَقُّ مِنۡ عِنۡدِنَا قَالُوۡۤا اِنَّ هٰذَا لَسِحۡرٌ مُّبِیۡنٌ ﴿۷۶﴾ قَالَ
مُوۡسٰۤی اَتَقُوۡلُوۡنَ لِلۡحَقِّ لَمَّا جَآءَکُمۡ ؕ اَسِحۡرٌ هٰذَا ؕ وَ لَا یُفۡلِحُ السّٰحِرُوۡنَ ﴿۷۷﴾ قَالُوۡۤا
اَجِئۡتَنَا لِتَلۡفِتَنَا عَمَّا وَجَدۡنَا عَلَیۡهِ اٰبَآءَنَا وَ تَکُوۡنَ لَکُمَا الۡکِبۡرِیَآءُ فِی الۡاَرۡضِ ؕ وَ مَا
نَحۡنُ لَکُمَا بِمُؤۡمِنِیۡنَ ﴿۷۸﴾

انهن کانپوءِ اسان موسيٰ ۽ هارون کي فرعون ۽ سندس سردارن وٽ پنهنجون نشانيون ڏئي موڪليو، پر انهن گهمنڊ ڪيو ۽ اُهي مجرم ماڻهو هئا. پوءِ جڏهن انهن وٽ اسان جي طرفان سچي ڳالھ پهتي تہ انهن چيو اِهو تہ پڌرو جادو آهي. موسيٰ چيو ڇا توهان حق کي جادو چئو ٿا، جڏهن تہ اُهو توهان وٽ اچي چڪو آهي. ڇا اِهو

جادو آهي، حالانڪ جادو وارا ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿيندا آهن. انهن چيو ڇا تون اسان وٽ ان ڪري آيو آهين جو اسان کي ان رستي تان ڦيري ڇڏين جنهن تي اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي ڏٺو آهي. ۽ هِن ملڪ ۾ توهان ٻنهي جي وڏائي قائم ٿي وڃي ۽ اسان ڪڏهن بہ توهان ٻنهي جي ڳالھ مڃڻ وارا نہ آهيون. ۷۵-۷۸

---

فرعون ۽ اِن جي قوم جي سردارن پنهنجي مجرماڻي ذهنيت جي ڪري موسيٰ عليه السلام ۽ هارون عليه السلام جي ڳالھ نہ مڃي. اُهي شين کي دليل جي معيار سان ڏسڻ جي بجاءِ حيثيت ۽ اقتدار جي معيار سان ڏسندا هئا. انهن اُن هٿ ٺوڪيل معيار جي نالي تي پاڻ کي مٿي ۽ موسيٰ عليه السلام ۽ هارون عليه السلام کي گهٽ سمجهي ورتو. سندن اِها نفسيات سندن لاءِ حق کي قبول ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي وئي، جيڪا سندن نظر ۾ هڪ معمولي ماڻهو انهن جي سامهون پيش ڪري رهيو هو.

حضرت موسيٰ عليه السلام جي دليل جي زبان جڏهن فرعون کي سمجھ ۾ نہ آئي تہ پاڻ عليه السلام عصا (لٺ) ۽ يد بيضا (چمڪندڙ هٿ) جا معجزا ڏيکاريا. انهن معجزن جو ٽوڙ فرعون وٽ نہ هو. تنهن ڪري هُن چيو تہ اِهو جادو آهي. اهڙي طرح فرعون حضرت موسيٰ عليه السلام جي مقابلي ۾ پنهنجي شڪست کي هڪ ڪوڙي سبب ۾ لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. هُن ماڻهن کي اِهو تاثر ڏنو تہ موسيٰ عليه السلام جو معاملو حق جو معاملو نہ آهي، بلڪ جادو جو معاملو آهي، اِهو صحيح آهي تہ جادو ۽ معجزي ۾ ڪجھ ظاهري مشابهت هوندي آهي. پر جلد خبر پئجي ويندي آهي تہ جادو رڳو ڪرتب ۽ ڪرشمو هو. اُن جي مقابلي ۾ معجزي کي مستقل ڪاميابي حاصل هوندي آهي. جادو آخرڪار جادو ثابت ٿي ويندو آهي ۽ معجزو آخرڪار معجزو.

اُن موقعي تي فرعون ماڻهن کي حضرت موسيٰ عليه السلام جي دعوت کان ڦيرائڻ جي لاءِ ٻہ پيون ڳالهيون ڪيون. هڪ اِها تہ موسيٰ عليه السلام اسان کي اسان جي ابن ڏاڏن جي دين کان ڦيرائڻ چاهي ٿو. فرعون کي ڪپي ها تہ هو حضرت موسيٰ عليه السلام جي پيغام کي حق ۽ ناحق جي اصطلاح ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ها. پر اُن هِن کي اباڻي ۽ غير اباڻي معيار سان جانچيو. ان جو سبب اِهو هو تہ حق ۽ ناحق جي معيار سان ڏسڻ ۾ پنهنجي پاڻ کي غلط مڃڻو پوي ها. جڏهن تہ اباڻي ۽ غير اباڻي جي تقسيم ۾ پنهنجي طريقي تي قائم رهڻ جو جواز ملي رهيو هو.

فرعون ٻي ڳالھ اِها چئي تہ ”موسيٰ عليه السلام ۽ هارون هِن ملڪ ۾ پنهنجي وڏائي قائم ڪرڻ چاهين ٿا“. اِهو بہ عوام کي ڀڙڪائڻ جي لاءِ رڳو هڪ سياسي شوشو هو، ڇاڪاڻ تہ حضرت موسيٰ عليه السلام تہ شروع ۾ ئي فرعون جي سامهون اِها ڳالھ رکي ڇڏي هئي تہ سندس مقصد اِهو آهي تہ هُو فرعون کي خدا جو پيغام پهچائي ۽ ان کانپوءِ بني اسرائيل سان مصر مان نڪري سينا جي رڻ ۾ هليو وڃي. اِهڙي حالت ۾ اِهو الزام سراسر حقيقت جي خلاف هو جو اُهي مصر جي حڪومت تي قبضي ڪرڻ جو منصوبو ٺاهي رهيا آهن.

وَ قَالَ فِرۡعَوۡنُ ائۡتُوۡنِیۡ بِکُلِّ سٰحِرٍ عَلِیۡمٍ ﴿۷۹﴾ فَلَمَّا جَآءَ السَّحَرَۃُ قَالَ لَهُمۡ مُّوۡسٰۤی اَلۡقُوۡا
مَاۤ اَنۡتُمۡ مُّلۡقُوۡنَ ﴿۸۰﴾ فَلَمَّاۤ اَلۡقَوۡا قَالَ مُوۡسٰی مَا جِئۡتُمۡ بِهِ ۙ السِّحۡرُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَیُبۡطِلُهٗ ؕ

اِنَّ اللّٰهَ لَا يُصْلِحُ عَمَلَ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿۸۱﴾ وَ يُحِقُّ اللّٰهُ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ وَ لَوْ كَرِهَ
الْمُجْرِمُوْنَ ﴿۸۲﴾ ع ۸ ۱۲ ۱۳

۽ فرعون چيو تہ سڀني ماهر جادوگرن کي مون وٽ آڻيو. جڏهن جادوگر آيا تہ موسيٰ کين چيو تہ جيڪو ڪجھ اڇلڻو آهي سو اڇليو. پوءِ جڏهن جادوگرن اڇلايو تہ موسيٰ چيو تہ جيڪو ڪجھ توهان آندو آهي اُهو جادو آهي. بيشڪ الله انهيءَ کي باطل ڪري ڇڏيندو. بيشڪ الله فسادين جي ڪم کي نہ سنواريندو. ۽ الله پنهنجي حڪم سان حق کي حق ڪري ڏيکاريندو آهي چاهي مجرمن کي اُهو ڪيتروئي ناپسند هجي. ۷۹-۸۲

فرعون جو ماهر جادوگرن کي سڏائڻ اُن ڪري نہ هو جو هو سمجهندو هو تہ جادوگرن جي ذريعي هو حضرت موسيٰ عليه السلام کي زير ڪري وٺندو. اِهو ڪنهن عقلي فيصلي کان وڌيڪ فرعون جي اُن شديد خواهش جو نتيجو هو جو هو موسيٰ عليه السلام کي نہ مڃي. خدا جي پيغمبر کي جادوگرن جي ذريعي غلط ثابت ڪرڻ جو منصوبو هڪ اهڙو منصوبو هو، جنهن جو ناڪام ٿيڻ پهرين کان يقيني هو. پر ماڻهو جڏهن ڪنهن حقيقت کي نہ مڃڻ چاهي تہ اُن جي اِها خواهش اُن کي ايستائين وٺي وڃي ٿي جو هو احمقاڻين تدبيرن سان ان جو مقابلو ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندو آهي. هو سيلاب جي مقابلي ۾ ڪکن جو بند ٺاهيندو آهي، حالانڪ هو پاڻ سمجهي رهيو هوندو آهي تہ سيلاب جي مقابلي ۾ ڪکن جي ڪا حقيقت نہ آهي.

پوءِ اُهو ئي ٿيو جيڪو ٿيڻو هو. جادوگرن ميدان ۾ رسيون ۽ لٺيون اڇلائيون جيڪي ڏسڻ وارن کي هلندڙ نانگ جي صورت ۾ ڏسڻ ۾ پئي آيون. اُن کان پوءِ حضرت موسيٰ پنهنجو عصا (لٺ) اُڇلايو تہ هو وڏو نانگ بڻجي ميدان ۾ ڊوڙڻ لڳو. حضرت موسيٰ جو اِهو ”نانگ“ رڳو نانگ نہ هو، اُها اصل ۾ خدا جي هڪ طاقت هئي، جيڪا اُن ڪري ظاهر ٿي جو حق کي حق ۽ باطل کي باطل ثابت ڪري ڇڏي. تنهن ڪري اُن جي سامهون ايندي ئي جادوگرن جون رسيون، رسيون ئي رهجي ويون ۽ ڪاٺيون، ڪاٺيون ئي رهجي ويون.

اِها خود پنهنجي چونڊيل ميدان ۾ فرعون جي شڪست هئي. پر هاڻي بہ فرعون شڪست نہ مڃي. هاڻي هن حضرت موسيٰ جي ترديد جي لاءِ ڪجھ ٻيا لفظ تلاش ڪري ورتا. جهڙي طرح اُن کان اڳ ۾ پاڻ عليه السلام جي ترديد لاءِ ڪجھ لفظ ملي ويا هئا.

فَمَآ اٰمَنَ لِمُوْسٰٓى اِلَّا ذُرِّيَّةٌ مِّنْ قَوْمِهٖ عَلٰى خَوْفٍ مِّنْ فِرْعَوْنَ وَ مَلَا۟ئِهِمْ اَنْ يَّفْتِنَهُمْ ؕ وَ
اِنَّ فِرْعَوْنَ لَعَالٍ فِي الْاَرْضِ ۚ وَ اِنَّهٗ لَمِنَ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿۸۳﴾ وَ قَالَ مُوْسٰى يٰقَوْمِ اِنْ كُنْتُمْ
اٰمَنْتُمْ بِاللّٰهِ فَعَلَيْهِ تَوَكَّلُوْٓا اِنْ كُنْتُمْ مُّسْلِمِيْنَ ﴿۸۴﴾ فَقَالُوْا عَلَى اللّٰهِ تَوَكَّلْنَا ۚ رَبَّنَا لَا
تَجْعَلْنَا فِتْنَةً لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۸۵﴾ وَ نَجِّنَا بِرَحْمَتِكَ مِنَ الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۸۶﴾

پوءِ موسيٰ کي سندس قوم مان ڪجھ نوجوانن کان سواءِ ڪنهن نہ مڃيو، فرعون جي ڊپ کان ۽ خود پنهنجي قوم جي وڏن سردارن جي ڊپ کان تہ ڪين ڪنهن فتني ۾ مبتلا نہ ڪن، بيشڪ فرعون زمين ۾ غلبو رکندڙ هو

۽ هو انهن ماڻهن مان هو جيڪي حد کان لنگهي ويندا آهن. ۽ موسيٰ چيو اي منهنجي قوم! جيڪڏهن توهان الله تي ايمان رکو ٿا ته اُن تي ئي ڀروسو ڪريو. جيڪڏهن توهان سچ پچ فرمانبردار آهيو. انهن چيو اسان الله تي ڀروسو ڪيو. اي اسان جا رب! اسان کي ظالم ماڻهن جي لاءِ آزمائش نه بڻاءِ. ۽ پنهنجي رحمت سان اسان کي ڪافر ماڻهن کان نجات ڏي. ٨٣-٨٦

---

نئين فڪر کي قبول ڪرڻ هميشه اُن قيمت تي هوندو آهي ته ماڻهو پنهنجي معاشري ۾ نون مسئلن کي منهن ڏي. اِهو ئي سبب آهي جو وڏي عمر جا ماڻهو اڪثر نئين فڪر کي قبول ڪرڻ ۾ محتاط هوندا آهن. مختلف سببن جي ڪري وڏي عمر وارن ماڻهن تي مصلحت پسندي جو غلبو ٿي ويندو آهي. هو نئين فڪر کي صحيح مڃڻ جي باوجود اڳيان وڌي اُن جو ساٿ نٿا ڏئي سگهن.

پر نوجوان طبقو عام طور تي اُن قسم جي مصلحتن کان خالي هوندو آهي. اُن ڪري تاريخ ۾ هميشه ايئن ٿيو آهي جو ڪنهن نئين ۽ انقلابي دعوت کي قبول ڪرڻ ۾ اُهي ئي ماڻهو اڳيان وڌيا جيڪي اجا وڏي عمر کي نه پهتا هئا. اِها نئين صورتحال حضرت موسيٰ عليه السلام کي پيش آئي.

حضرت موسيٰ عليه السلام جو ساٿ ڏيڻ وارن نوجوانن کي هڪ طرف فرعون جو خطرو هو. ٻئي طرف خود پنهنجي قوم جي وڏن جي طرفان انهن کي حوصلہ افزائي نه ملي. اُهي وڏا جيتوڻيڪ حضرت موسيٰ عليه السلام جي نبوت کي مڃيندا هئا، پر پنهنجن مصلحتن جي ڪري اهي نه چاهيندا هئا ته سندن پٽ ۽ ڏيئرون جوش ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام جو ساٿ ڏين ۽ اُن جي نتيجي ۾ هو فرعون جي ظلم جو شڪار ٿين.

پر اهڙي قسم جي صورتحال جو تقاضو اِهو نه آهي ته ماڻهو حق جي مخالفن کان ڊڄي خاموش ٿي ويهي رهي. اُن کي کپي ته هو انساني مخالفتن جي مقابلي ۾ خدائي مدد تي نظر رکي، هو خدا جي ڀروسي تي اُن حق جو ساٿ ڏيڻ جي لاءِ اُٿي، جنهن جو ساٿ ڏيڻ جي لاءِ ذاتي طور تي هو پاڻ کي عاجز ٿو سمجهي.

وَ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلٰى مُوۡسٰى وَ اَخِيۡهِ اَنۡ تَبَوَّاٰ لِقَوۡمِكُمَا بِمِصۡرَ بُيُوۡتًا وَّ اجۡعَلُوۡا بُيُوۡتَكُمۡ قِبۡلَةً وَّ اَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ ؕ وَ بَشِّرِ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۸۷﴾

۽ اسان موسيٰ ۽ سندس ڀاءُ ڏانهن وحي ڪيو ته پنهنجي قوم جي لاءِ مصر ۾ ڪجھ گهر مقرر ڪيو ۽ انهن کي قبلو بڻايو ۽ نماز قائم ڪريو. ۽ ايمان وارن کي خوشخبري ڏئي ڇڏ. ٨٧

---

قبلي جي معنيٰ عربي زبان ۾ موٽڻ جي جاءِ يا توجه جو مرڪز آهي. هتي گهرن کي قبلو بڻائڻ مان مراد اِها آهي ته بني اسرائيل جي بستين ۾ ڪجھ گهرن يا گهرن جي ڪجھ مناسب حصن کي اُن مقصد جي لاءِ خاص ڪري ڇڏجي، ته جيئن اُهي حضرت موسيٰ عليه السلام جي ديني جدوجهد جي لاءِ مرڪز جي طور تي ڪم ڏين. هِتي تنظيمي اجتماع يا گڏجاڻيون ٿين، باهمي مشورا ٿين. دعوت جي عمل جي خاموش منصوبہ بندي ڪئي وڃي.

حضرت موسيٰ عليه السلام جي توحيد ۽ آخرت جون ڳالهيون مصر جي بادشاهه فرعون کي سخت ناپسند هيون. هُن انهن تي انتهائي سخت قسم جون پابنديون عائد ڪري ڇڏيون. ايستائين جو ڪلي طور

تي ديني سرگرميون جاري رکڻ انهن لاءِ سخت دشوار ٿي ويو. ان وقت حڪم ٿيو ته فرعون سان ٽڪرائڻ جي بجاءِ پنهنجي ڪم کي پاڻ تائين محدود ڪري وٺو. پنهنجن بستين ۾ نندا نندا دعوتي ۽ تنظيمي مرڪز ٺاهي محدود دائري ۾ خاموشي سان پنهنجو ڪم جاري رکو.

انهن حالتن ۾ انهن کي جيڪو ٻيو حڪم ڏنو ويو اُهو نماز قائم ڪرڻ جو هو. يعني الله سان تعلق جوڙڻ ۽ ان کان مدد گهرڻ جي لاءِ نمازن جو اهتمام، انفرادي طور تي به ۽ اجتماعي طور تي به. نماز اصل ۾ خدا جي ويجهو ٿي خدا کان مدد گهرڻ جي هڪ صورت آهي. نماز ۾ مشغول ٿي ٻانهو پاڻ کي عاجزيءَ جي مقام تي آڻيندو آهي ۽ عاجزي ئي اُهو مقام آهي جتي ٻانهي ۽ خدا جي ملاقات ٿيندي آهي. ٻانهي جي لاءِ پنهنجي رب سان ملڻ جو ٻيو ڪو مقام نه آهي.

هي جيڪو پروگرام ٻڌايو ويو، اُن کي پورو ڪرڻ ۾ ئي انهن جي لاءِ ڪاميابي ۽ نجات جو راز لڪيل هو. اِهو حڪم ڄڻ ته اُن ڳالهه جي خوشخبري هئي ته خدا انهن کي اِهڙي حالت مان ڪڍڻ وارو آهي جنهن ۾ سندن دشمن کين مبتلا ڪري ڇڏيو آهي.

وَ قَالَ مُوْسٰى رَبَّنَاۤ اِنَّكَ اٰتَيْتَ فِرْعَوْنَ وَ مَلَاَهٗ زِيْنَةً وَّ اَمْوَالًا فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۙ رَبَّنَا لِيُضِلُّوْا عَنْ سَبِيْلِكَ ۚ رَبَّنَا اطْمِسْ عَلٰۤى اَمْوَالِهِمْ وَ اشْدُدْ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَلَا يُؤْمِنُوْا حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ﴿٨٨﴾ قَالَ قَدْ اُجِيْبَتْ دَّعْوَتُكُمَا فَاسْتَقِيْمَا وَ لَا تَتَّبِعٰٓنِّ سَبِيْلَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٨٩﴾

۽ موسيٰ چيو اي اسان جا رب! تو فرعون کي ۽ سندس سردارن کي دنيا جي زندگي ۾ رونق ۽ مال ڏنو آهي. اي اسان جا رب! ان ڪري جو هو تنهنجي راهه کان ماڻهن کي ڀٽڪائين. اي اسان جا رب! سندن مال کي ناس ڪري ڇڏ ۽ سندن دلين کي سخت ڪري ڇڏ، ته جيئن هو ايمان نه آڻين جيستائين دردناڪ عذاب نه ڏسي وٺن. فرمايو ويو توهان ٻنهي جي دعا قبول ڪئي وئي. هاڻي توهان ٻئي ثابت قدم رهو ۽ انهن ماڻهن جي راهه جي پيروي نه ڪجو جيڪي علم نه ٿا رکن. ٨٨-٨٩

---

جيڪي ماڻهو آخرت جو فڪر ڪندا آهن، اُهي عام طور تي دنيا جي ساز و سامان جمع ڪرڻ ۾ انهن ماڻهن کان پوئتي رهجي ويندا آهن جيڪي آخرت کان بي فڪر ٿي دنيا حاصل ڪرڻ ۾ لڳي ويا هجن. دنيا جي ڪمي آخرت جي طرف ڌيان لڳائڻ جي قيمت آهي ۽ دنيا جي زيادتي آخرت کان غافل ٿيڻ جي قيمت.

جنهن وٽ دنيا جي رونق ۽ سامان گهڻو جمع ٿي وڃي، اُهو وڏائيءَ جي احساس ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي. نتيجو اِهو نڪرندو آهي ته اهڙا ماڻهو پنهنجي اندر اِها صلاحيت وڃائي ڇڏيندا آهن ته ڪنهن ٻئي جي زبان مان جاري ٿيڻ واري حق کي سڃاڻين ۽ ان جي اڳيان جهڪي پون. پنهنجي وسائل کي جيڪڏهن هو خدا جو عطيو سمجهن ها ته اُن کي حق جي تائيد ۾ استعمال ڪن ها، پر هو ان کي پنهنجو ذاتي ڪمال سمجهندا آهن. ان ڪري هُو اُن کي رڳو ان مقصد جي لاءِ استعمال ڪندا آهن جو حق کي دٻائن ۽ اِهڙي طرح ماحول ۾ پنهنجي برتري ۽ وڏائي قائم رکن.

”تہ جيئن ھُو تنھنجي راھ کان ڀٽڪائين“ جو مطلب اِھو آھي تہ انھن الله جي ڏنل مال ۽ اسباب کي رڳو ان لاءِ استعمال ڪيو، تہ جيئن ان جي ذريعي خدا جي ٻانھن کي خدا کان پري ڪن. انھن ان کي حق جي خدمت ۾ لڳائڻ جي بجاءِ باطل جي خدمت ۾ لڳايو.

حضرت موسيٰ، فرعون ۽ سندس ساٿين جي سامھون سچي دين جي دعوت پيش ڪئي ۽ پنھنجي اعليٰ صلاحيتن ۽ خدا جي مدد جي ذريعي ان کي حجت پوري ڪرڻ جي حد تائين واضح ڪري ڇڏيو، ان جي باوجود فرعون ۽ ان جي ساٿين پاڻ عليه السلام جي پيغام کي نہ مڃيو. ان وقت حضرت موسيٰ عليه السلام دعا ڪئي تہ خدايا! انھن جي مٿان اُھا سزا نازل فرماءِ جيڪا تنھنجي قانون جي مطابق اِھڙن سرڪشن جي لاءِ مقدر آھي. اھڙي موقعي تي پيغمبر جي بددعا خود خدا جي فيصلي جو اعلان ھوندو آھي جيڪو خدا جي نمائندي جي زبان مان جاري ڪيو ويندو آھي.

حضرت موسيٰ عليه السلام جي دعا قبول ٿي وئي. جيئن تہ ڪجھ روايتن ۾ ايندو آھي تہ حضرت موسيٰ عليه السلام جي دعا ۽ فرعون جي تباھي جي وچ ۾ چاليھن سالن جو فاصلو آھي (تفسير النسفي). ان جو مطلب اِھو آھي تہ ان کان پوءِ بہ ڊگھي مدت تائين اِھا صورتحال باقي رھي جو حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ سندس ساٿي پاڻ کي بي وس ڏسندا ھئا ۽ ٻئي طرف فرعون ۽ ان جي ساٿين جو شان و شوڪت ملڪ ۾ قائم رھيو. اِھڙي حالت ۾ ماڻھو جيڪڏھن خدا جي اُن سنت کان بي خبر ھجي، جنھن ۾ ھُو سرڪشن کي مھلت ڏيندو آھي تہ ھُو جلد بازي ۾ اصل ڪم ڇڏي ڏيندو ۽ مايوسي ۽ بي دلي جو شڪار ٿي رھجي ويندو.

وَ جٰوَزْنَا بِبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ الْبَحْرَ فَاَتْبَعَهُمْ فِرْعَوْنُ وَ جُنُوْدُهٗ بَغْيًا وَّ عَدْوًا ؕ حَتّٰٓى اِذَآ
اَدْرَكَهُ الْغَرَقُ ۙ قَالَ اٰمَنْتُ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا الَّذِيْٓ اٰمَنَتْ بِهٖ بَنُوْٓا اِسْرَآءِيْلَ وَ اَنَا مِنَ
الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٩٠﴾ آٰلْـٰٔنَ وَ قَدْ عَصَيْتَ قَبْلُ وَ كُنْتَ مِنَ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٩١﴾ فَالْيَوْمَ نُنَجِّيْكَ
ع ٩ ١٤ بِبَدَنِكَ لِتَكُوْنَ لِمَنْ خَلْفَكَ اٰيَةً ؕ وَ اِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ عَنْ اٰيٰتِنَا لَغٰفِلُوْنَ ﴿٩٢﴾

۽ اسان بني اسرائيل کي سمنڊ پار ڪرائي ڇڏيو تہ فرعون ۽ سندس لشڪر انھن جو پيڇو ڪيو سرڪشي ۽ زيادتي جي ارادي سان. ايستائين جڏھن فرعون ٻڏڻ لڳو تہ ھُن چيو تہ مون ايمان آندو تہ ڪو معبود نہ آھي سواءِ ان جي جنھن تي بني اسرائيل ايمان آندو آھي. ۽ آئون ان جي فرمانبردارن مان آھيان. ھاڻي ۽ اڳ ۾ تون نافرماني ڪندو رھين ۽ تون فساد برپا ڪرڻ وارن مان ھئين. تنھن ڪري اڄ اسان تنھنجي جسم کي بچائينداسون، تہ جيئن تون پوءِ ايندڙن جي لاءِ نشاني بڻجين ۽ بيشڪ گھڻا ماڻھو اسان جي نشانين کان غافل رھندا آھن. ٩٠-٩٢

---

مصر ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام جو مشن ٻہ طرفو ھو. ھڪ فرعون کي توحيد ۽ آخرت ڏانھن سڏڻ، ٻيو بني اسرائيل کي مصر کان ٻاھر واري ماحول ۾ وٺي وڃڻ ۽ اُتي انھن جي تربيت ڪرڻ. جڏھن فرعون تي حق جي دعوت پوري ٿي چڪي تہ الله جي حڪم سان ھُو بني اسرائيل کي وٺي مصر مان روانا ٿيا. سينا جي رڻ ۾ پھچڻ جي لاءِ انھن کي درياء پار ڪرڻو ھو. جڏھن بني اسرائيل حضرت موسيٰ عليه السلام جي رھنمائي ۾ درياء جي ڪناري پھتا تہ الله جي حڪم سان حضرت موسيٰ عليه السلام پاڻي تي

پنهنجي لٺ هنئي. پاڻي وچان ڦاٽي ساڄي کاٻي هٽي ويو ۽ وچ ۾ خشڪ رستو نڪري آيو. حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ بني اسرائيل ان رستي ذريعي آسانيءَ سان پار ٿي ويا.

فرعون پنهنجي لشڪر سان بني اسرائيل جو پيڇو ڪندي اڳيان وڌيو. هو درياء جي ڪناري پهتو ته ڏٺائين ته موسيٰ عليه السلام ۽ بني اسرائيل پاڻي جي وچ مان هڪ خشڪ رستي تان گذري رهيا آهن. وسيع درياء وچان ڦاٽي حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ سندن ساٿين کي رستو ڏئي ڇڏيو هو. اِهو واقعو اصل ۾ خدا جي هڪ نشاني هو. فرعون کي اُن مان اِهو سبق وٺڻ کپي ها ته موسيٰ عليه السلام حق تي آهن ۽ خدا انهن سان گڏ آهي. پر هُن درياء جي ڦاٽڻ کي خدائي واقعو سمجھڻ جي بجاءِ عام واقعو سمجهيو. پنهنجي ۽ موسيٰ عليه السلام جي وچ ۾ فرعون کي رڳو درياء نظر آيو، حالانڪ اُتي خود خدا موجود هو، ان جو نتيجو اِهو ٿيو جو جنهن واقعي ۾ فرعون جي لاءِ اطاعت ۽ تنبيهه جو پيغام هو، اُهو ان جي لاءِ رڳو سرڪشي ۾ وڌڻ جو سبب بڻجي ويو. هُن "دريا" کي ڏٺو پر "خدا" کي نه ڏٺو. هن سمجهيو ته جهڙي طرح موسيٰ عليه السلام ۽ سندس ساٿين درياءَ کي پار ڪيو آهي، اهڙي طرح هُو به درياءَ کي پار ڪري سگھي ٿو.

پنهنجي هِن ذهن سان فرعون ۽ اُن جو لشڪر درياءَ ۾ داخل ٿي ويو. درياء جو پاڻي جيڪو ٻن حصن ۾ ٽڪرا ٿي ويو هو، اُهو موسيٰ عليه السلام ۽ سندس ساٿين جي لاءِ ٿيو هو، اُهو فرعون ۽ سندس ساٿين جي لاءِ نه ٿيو هو. تنهن ڪري جڏهن فرعون ۽ سندس لشڪر وچ درياءَ ۾ پهتو ته خدا جي حڪم سان ٻنهي طرفن جو پاڻي ملي ويو ۽ فرعون پنهنجي لشڪر سان گڏ ان ۾ غرق ٿي ويو. غرق ٿيندي ئي فرعون ايمان جو اقرار ڪيو، پر اُهو ڪنهن به ڪم جو نه هو، ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ وٽ اختياري ايمان معتبر آهي نه وري اُهو ايمان جڏهن ماڻهو ايمان آڻڻ تي مجبور ٿي ويو هجي.

خدا جي نافرماني ۽ سرڪشي جو انجام هلاڪت آهي، ان جو نمونو رسالت جي دور ۾ بار بار انسان جي سامهون ايندو هو. پر اِهڙي قسم جا ڪجھ نمونا خدا مستقل طور تي محفوظ ڪري ڇڏيا آهن ته جيئن اُهي بعد جي زماني ۾ به انسان کي سبق ڏيندا رهن جڏهن نبين جي اچڻ جو سلسلو ختم ٿي ويو هجي. انهن مان ئي هڪ تاريخي نمونو موسيٰ عليه السلام واري فرعون (رعمسيس ثاني) جو آهي. جنهن جي ممي ٿيل لاش قديم آثارن جي ماهرن کي مصر جي شهر ٿيبس (Thebes) ۾ مليو هو ۽ هاڻي اُهو قاهره جي عجائب گھر ۾ نمائش جي لاءِ رکيل آهي.

وَلَقَدْ بَوَّأْنَا بَنِيٓ إِسْرَٰٓءِيلَ مُبَوَّأَ صِدْقٍ وَرَزَقْنَٰهُم مِّنَ ٱلطَّيِّبَٰتِ فَمَا ٱخْتَلَفُوا۟ حَتَّىٰ جَآءَهُمُ ٱلْعِلْمُ ۚ إِنَّ رَبَّكَ يَقْضِي بَيْنَهُمْ يَوْمَ ٱلْقِيَٰمَةِ فِيمَا كَانُوا۟ فِيهِ يَخْتَلِفُونَ ﴿٩٣﴾

۽ اسان بني اسرائيل کي چڱي جاءِ ڏني ۽ انهن کي کائڻ لاءِ پاڪ شيون ڏنيون. پوءِ انهن اختلاف نه ڪيو، پر اُن وقت جڏهن انهن وٽ علم اچي ويو. بيشڪ تنهنجو رب قيامت جي ڏينهن سندن وچ ۾ اُن ڳالھ جو فيصلو ڪري ڇڏيندو، جنهن ۾ هو اختلاف ڪندا هئا. ٩٣

---

بني اسرائيل قديم زماني ۾ خدا جي دين جي حامل قوم هئي. انهن تي خدا اِهو احسان ڪيو جو سندن دشمن (فرعون) کان انهن کي نجات ڏني. اُن کان پوءِ هو انهن کي سينا جي ڪليل فضائن ۾ وٺي ويو. اُتي انهن لاءِ خاص انتظام تحت پاڻي ۽ رزق مهيا ڪيو ويو. صحرائي تربيت جي ذريعي انهن جي اندر هڪ نئون

طاقتور نسل تيار ڪيو ويو. اُن نسل حضرت موسىٰ جي وفات کان پوءِ هڪ عظيم ملڪ فتح ڪيو ۽ شام ۽ اردن ۽ فلسطين جهڙن سرسبز علائقن ۾ بني اسرائيل جي سلطنت قائم ڪئي جيڪا سوين سال باقي رهي.

اُن احسان جو نتيجو اِهو ٿيڻ کپي ها جو بني اسرائيل خدا جا فرمانبردار ۽ شڪرگذار ٿي رهن ها ۽ خدا جي دين جي خدمت کي پنهنجي زندگي جو مقصد بڻائن ها، پر پڏري رهنمائي جي هوندي بہ اُهي راهہ کان بي راهہ ٿي ويا.

سندن راهہ کان بي راهہ ٿيڻ ڇا هو؟ اِهو پاڻ ۾ اختلاف هو. انهن وٽ خدا جو نازل ڪيل علم موجود هو جيڪو واحد سچ هو، پر انهن اُن علم جي تشريح ۽ تاويل ۾ اختلاف ڪيو ۽ ٽولا ٽولا ٿي ويا (تفسير النسفي). ڪا اُمت جيستائين خدا جي نازل ڪيل دين (العلم) تي رهي ٿي، اُن ۾ اتفاق ۽ اتحاد رهندو آهي. پر بعد ۾ سندن وچ ۾ ان ”العلم“ جي تشريح ۾ اختلاف شروع ٿي ويندو آهي. ڪجهہ ماڻهو هڪ اختلافي راء ڪٽي ويهي رهندا آهن ۽ ڪجهہ ماڻهو بي اختلافي راءِ. هر هڪ پنهنجي پنهنجي مسلڪ کي برحق ثابت ڪرڻ جي لاءِ بحث مباحثن، تقريرن ۽ مناظرن جو طوفان ڪڙو ڪري ڇڏيندا آهن. نوبت ايستائين وڃي پهچندي آهي جو اصل العلم ڪتابن ۾ بند ٿي رهجي ويندو آهي ۽ سڄو زور اُن جي تاويلن ۽ تشريحن ۾ استعمال ٿيڻ لڳندو آهي. اهڙي طرح بنيادي ديني تعليم (العلم) ۾ هڪ راءِ هئڻ جي باوجود ماڻهو ذيلي تعليم ۾ مشغول ٿي مختلف راء جا ٿي ويندا آهن.

”الله قيامت جي ڏينهن فيصلو ڪري ڇڏيندو“ بظاهر متعدي آهي، پر حقيقت ۾ اُهو لازم جو صيغو آهي. مطلب اِهو آهي جو قيامت ۾ جڏهن خدا ظاهر ٿيندو تہ هر ماڻهو پنهنجا اختلاف وساري اُن ڳالهہ کي مڃي وٺندو جيڪا واحد سچائي آهي. جيڪڏهن هو خدا کان ڊڄڻ وارا هجن ها تہ اڄ ئي سڀ جا سڀ هڪ راءِ تي پهچي وڃن ها، پر خدا کان بي خوف ٿي اُهي الڳ الڳ راهن ۾ تقسيم ٿي ويا آهن، بي خوفي سان راءِ جو تعداد وڌي ويندو آهي ۽ خوف سان راءِ جو اتحاد.

فَاِنْ كُنْتَ فِيْ شَكٍّ مِّمَّآ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ فَسْــَٔلِ الَّذِيْنَ يَقْرَءُوْنَ الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكَ ۚ لَقَدْ جَآءَكَ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿٩٤﴾ وَ لَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَتَكُوْنَ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٩٥﴾

پوءِ جيڪڏهن توکي هن شيءِ جي باري ۾ شڪ آهي جيڪا اسان توتي نازل ڪئي آهي تہ انهن ماڻهن کان پُڇي وٺ جيڪي توکان اڳ ۾ ڪتاب پڙهي رهيا آهن. بيشڪ اِهو تو تي حق آيو آهي، تنهنجي رب طرفان، تنهن ڪري تون شڪ ڪرڻ وارن مان نہ ٿجانءِ. ۽ تون انهن ماڻهن ۾ شامل نہ ٿجانءِ جن الله جي آيتن کي ڪوڙو ڄاتو نہ تہ تون نقصان پائڻ وارن مان ٿيندين. ٩٤-٩٥

---

پيغمبر خالص حق کڻي ايندو آهي ۽ خالص حق جي دعوت کي قبول ڪرڻ انسان لاءِ هميشہ سخت ڪم رهيو آهي. ماڻهو عام طور تي ملاوٽي حق جي بنياد تي بيهندا آهن. هو پنهنجي دنيا پرستي واري زندگي تي حق جو ليبل هڻي وٺندا آهن. اهڙي حالت ۾ خالص حق جي دعوت کي مڃڻ پنهنجي ذات جي نفي جي قيمت تي هوندو آهي. حق جي داعي کي مڃڻ جي لاءِ اُن جي مقابلي ۾

پنهنجي پاڻ کي نندڻ ڪرڻو پوندو آهي ۽ پنهنجي پاڻ کي نندڻ ڪرڻ بيشڪ انسان جي لاءِ مشڪل ترين ڪم آهي. اِهو ئي سبب آهي جو ايئن ڪڏهن به نه ٿيندو آهي جو حق جي دعوت بلند ٿئي ۽ ماڻهن جا ٽولن جا ٽولا اُن ڏانهن ڊوڙڻ شروع ڪري ڇڏين. حق جو استقبال هن دنيا ۾ هميشه منهن ڦيرڻ ۽ مخالفت جي صورت ۾ ڪيو ويو آهي.

داعي جڏهن پنهنجي ماحول ۾ حق جي اِها بي قدري ڏسندو آهي ته ڪڏهن ڪڏهن اُن کي اِهو شڪ ٿيندو آهي ته آئون غلطيءَ تي ته نه آهيان. هن آيت ۾ داعي کي اُن نفسيات کان بچڻ جي تاڪيد ڪئي وئي آهي.

ان شڪ جي غلط هئڻ جو هڪ انتهائي واضح ثبوت اِهو آهي ته اڳين پيغمبرن ۽ داعين کي به هميشه ساڳي طرح جي صورتحال پيش آئي جيڪي ماڻهو اڳئين نبين جي تاريخ کان واقف آهن، انهن کي چڱي ريت معلوم آهي ته هن دنيا ۾ ڪڏهن ايئن نه ٿيو آهي جو پيغمبر اچي ۽ فوراً اُن کي عوامي مقبوليت حاصل ٿي وڃي. پوءِ جيڪڏهن ساڳي ڳالهه بعد جي زماني جي داعين کي پيش اچي ته اُن ۾ حيران ۽ پريشان ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي.

ماڻهوءَ جو عقل جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي سچائيءَ تي شاهدي ڏي ۽ هو رڳو ماڻهن جي بي توجهي يا مخالفت جي ڪري اُن کي ڇڏي ڏي ته اِهو ڄڻ ته الله جي نشانين کي ڪوڙو ڪرڻ آهي. الله نشانين (دليلن) جي روپ ۾ انسان جي سامهون ظاهر ٿيندو آهي. اُن ڪري جنهن شيءِ جي صداقت تي دليل قائم ٿي وڃي، اُن کي مڃڻ ماڻهو تي خدا جو حق هوندو آهي. پوءِ جيڪو شخص خدا جو حق ادا نه ڪري، اُن جي حصي ۾ نقصان ۽ هلاڪت کان سواءِ ڇا ايندو.

اِنَّ الَّذِيۡنَ حَقَّتۡ عَلَيۡهِمۡ كَلِمَتُ رَبِّكَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿٩٦﴾ وَلَوۡ جَآءَتۡهُمۡ كُلُّ اٰيَةٍ حَتّٰى يَرَوُا
الۡعَذَابَ الۡاَلِيۡمَ ﴿٩٧﴾ فَلَوۡ لَا كَانَتۡ قَرۡيَةٌ اٰمَنَتۡ فَنَفَعَهَاۤ اِيۡمَانُهَاۤ اِلَّا قَوۡمَ يُوۡنُسَ ؕ لَمَّاۤ
اٰمَنُوۡا كَشَفۡنَا عَنۡهُمۡ عَذَابَ الۡخِزۡىِ فِى الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا وَمَتَّعۡنٰهُمۡ اِلٰى حِيۡنٍ ﴿٩٨﴾

بيشڪ جن ماڻهن تي تنهنجي رب جي ڳالهه پوري ٿي چڪي آهي، اُهي ايمان نه آڻيندا، چاهي انهن وٽ سڀ نشانيون اچي وڃن، جيستائين اُهي دردناڪ عذاب کي سامهون ايندي نه ڏسي وٺن. پوءِ ايئن ڇو نه ٿيو جو ڪا وسندي ايمان آڻي ها ته ان جو ايمان ان کي فائدو ڏي ها، سواءِ يونس جي قوم جي. جڏهن انهن ايمان آندو ته اسان سندن مٿان دنيا جي زندگي ۾ رسوائي جو عذاب ٽاري ڇڏيو ۽ انهن کي هڪ مدت تائين آسوده ٿيڻ جو موقعو ڏنوسون. ٩٦-٩٨

---

انسان جي سامهون جڏهن هڪ حق ڳالهه ايندي آهي ته سندس عقل شاهدي ڏيندو آهي ته اِها صحيح آهي، پر حق کي وٺڻ جي لاءِ ماڻهو کي ڪجهه ڏيڻو پوندو آهي ۽ اُهو ڏيڻ جي لاءِ ماڻهو تيار نه هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته اُن جي خاطر ماڻهوءَ کي ٻئي جي مقابلي ۾ پاڻ کي گهٽ ڪرڻو پئي ٿو ۽ پنهنجي مفاد کي خطري ۾ وجهڻو پوي ٿو، پنهنجي راءِ ۽ پنهنجي عزت کي وڃائڻو پوي ٿو. اهي انديشا حق کي قبول ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي ويندا آهن. جنهن شيءِ جو جواب هُن کي مقبوليت ۽ اعتراف سان ڏيڻ کپي ها ان جو جواب هو انڪار ۽ مخالفت سان ڏيڻ لڳندو آهي.

ماڻهو جي نفسيات ڪجهه اهڙي طرح ٺهيل آهي جو هُو جيڪڏهن هڪ دفعو جنهن رخ تي هلي پوي ته ان ئي رخ تي سندس سڄو ذهن هلڻ لڳندو آهي. اِهو ئي سبب آهي جو هڪ دفعو حق جو انڪار ڪرڻ کان پوءِ تمام گهٽ ايئن ٿيندو آهي جو ماڻهو وري ٻيهر حق ڏانهن موٽي. ڇاڪاڻ ته هر اچڻ واري ڏينهن هُو پنهنجي فڪر ۾ وڌيڪ پُختو ٿيندو ويندو آهي، ايستائين جو هُو اُن قابل ئي نه ٿو رهي جو حق ڏانهن واپس موٽي سگهي.

اهڙي طرح جا ماڻهو پنهنجي موقف کي ٻڌائڻ لاءِ اِهڙا لفظ ڳالهائيندا آهن جن مان ظاهر ٿئي ته ان جو ڪيس نظرياتي ڪيس آهي. پر حقيقت ۾ اُهو رڳو ضد، تعصب ۽ هٺ ڌرمي جو ڪيس هوندو آهي جيڪو پنهنجي دنياوي مصلحتن جي ڪري اختيار ڪيو ويندو آهي. جيئن ته خدا جي عذاب جي ظاهر ٿيڻ وقت ماڻهو جو اِهو ڀرم کلي ويندو. خوف جي حالت اُن کي اُن شيءِ جي اڳيان جهڪڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندي جنهن جي اڳيان هُو بي خوفي جي حالت ۾ جهڪڻ لاءِ تيار نه هو.

اڳين زماني ۾ جيترا رسول آيا، سيني سان اِهوئي معاملو پيش آيو ته سندن مخاطب قوم آخر وقت تائين ايمان نه آندو. البت جڏهن اُهي عذاب جي پڪڙ ۾ اچي ويا ته انهن چيو ته اسان ايمان قبول ڪريون ٿا. جيستائين خدا انهن کي دليل جي زبان ۾ پڪاري رهيو هو، انهن نه مڃيو ۽ جڏهن خدا انهن کي پنهنجي طاقت سان پڪڙي ورتو ته چوڻ لڳا ته هاڻي اسان مڃيون ٿا. پر اهڙو مڃڻ خدا وٽ معتبر نه آهي. خدا کي اُهو مڃڻ گهربل آهي جڏهن ته ماڻهو دليل جي زور تي جهڪي وڃي نه وري طاقت جي زور تي جهڪي.

حضرت يونس عليه السلام عراق جي هڪ قديم شهر نينويٰ ۾ موڪليا ويا. انهن اُتي تبليغ ڪئي، پر انهن ماڻهن ايمان نه آندو. آخر حضرت يونس عليه السلام پيغمبرن جي سنت جي مطابق هجرت ڪئي. هُو اِهو چئي نينويٰ کان هليا ويا ته هاڻي توهان تي خدا جو عذاب ايندو. حضرت يونس عليه السلام جي وڃڻ کانپوءِ عذاب جون ابتدائي علامتون ظاهر ٿيون. پر ان وقت ان قوم اِهو نه ڪيو جيڪو هود جي قوم ڪيو هو جو انهن عذاب جي ڪڪرن کي ايندي ڏسي چيو ته اِهي اسان جي لاءِ مينهن وسائڻ اچي رهيا آهن. يونس عليه السلام جي قوم فوراً ڇرڪي پئي ۽ سڀ ماڻهو پنهنجي عورتن ۽ ٻارن ۽ مال کي وٺي ميدان ۾ جمع ٿي ويا ۽ خدا جي اڳيان عاجزي ڪرڻ لڳا. ان کانپوءِ انهن تان عذاب هٽايو ويو. جهڙي طرح عذاب ظاهر ٿيڻ کان پهرين جو ايمان اعتبار جي قابل آهي، اهڙي طرح عذاب شروع ٿيڻ جي ويجهو ايمان به اعتبار جي قابل ٿي سگهي ٿو، پر شرط اِهو آهي جو اِهو ايترو ڪامل هجي جيترو ڪامل ايمان قومِ يونس جو هو.

وَلَوْ شَآءَ رَبُّكَ لَاٰمَنَ مَنْ فِي الْاَرْضِ كُلُّهُمْ جَمِيْعًا ۭ اَفَاَنْتَ تُكْرِهُ النَّاسَ حَتّٰى يَكُوْنُوْا
مُؤْمِنِيْنَ ﴿٩٩﴾ وَمَا كَانَ لِنَفْسٍ اَنْ تُؤْمِنَ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۭ وَيَجْعَلُ الرِّجْسَ عَلَى الَّذِيْنَ لَا
يَعْقِلُوْنَ ﴿١٠٠﴾

۽ جيڪڏهن تنهنجو رب چاهي ها ته زمين تي جيترا به ماڻهو آهن سڀ جا سڀ ايمان آڻين ها. پوءِ ڇا تون ماڻهن کي مجبور ڪندين ته اُهي مؤمن بڻجي وڃن. ۽ ڪنهن ماڻهو جي لاءِ ممڪن نه آهي جو هو الله جي اجازت جي بغير ايمان آڻي سگهي. ۽ الله انهن ماڻهن تي گندگي وجهي ڇڏيندو آهي، جيڪي عقل کان ڪم نه ٿا وٺن. ٩٩-١٠٠

”تنهنجو رب چاهي ها تہ سڀئي ماڻهو مؤمن بڻجي وڃن ها“ جو مطلب اِهو آهي تہ خدا جي لاءِ اِهو ممڪن هو تہ انساني دنيا جو نظام بہ اهڙي طرح ٺاهي جهڙي طرح باقي دنيا جو نظام آهي. جتي هر شيءِ مڪمل طور تي خدا جي حڪم جي پابند بڻيل آهي. پر انسان جي سلسلي ۾ خدا جو اِهو منصوبو نہ آهي. انسان جي سلسلي ۾ خدا جو منصوبو اِهو آهي تہ انسان کي آزادي واري ماحول ۾ رکي ڪيس موقعو ڏنو وڃي تہ هو خود پنهنجي ذاتي فيصلي سان خدا جو فرمانبردار ٿئي. هو پنهنجي اختيار سان اُهو ڪم ڪري جيڪو باقي دنيا بي اختياري سان ڪري رهي آهي، جنت جون هميشہ واريون نعمتون ان ئي اختيار واري اطاعت جي قيمت آهن.

”ڪو ماڻهو خدا جي اجازت جي بغير ايمان نہ ٿو آڻي سگهي“ جو مطلب اِهو آهي تہ موجوده دنيا ۾ ڪنهن کي ايمان جي نعمت ملندي تہ ان طريقي جي پيروي ڪري ملندي جيڪو خدا ان جي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو آهي. موجوده دنيا ۾ ايمان کي پائڻ جو رستو اِهو آهي تہ ماڻهو ايمان جي دعوت کي پنهنجي عقل جي استعمال سان سمجهي. جنهن ماڻهو جي عقل جي مٿان ان جون دنياوي مصلحتون غالب اچي وڃن، تہ ان جو عقل چڙهي تہ گندگي جي گپ ۾ لٿڙجي ويو آهي. اهڙي ماڻهو کي هِن دنيا ۾ ايمان جي نعمت جو ملڻ ممڪن ئي نہ آهي.

قُلِ انۡظُرُوۡا مَا ذَا فِی السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ ؕ وَ مَا تُغۡنِی الۡاٰیٰتُ وَ النُّذُرُ عَنۡ قَوۡمٍ لَّا
یُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۱۰۱﴾ فَهَلۡ یَنۡتَظِرُوۡنَ اِلَّا مِثۡلَ اَیَّامِ الَّذِیۡنَ خَلَوۡا مِنۡ قَبۡلِهِمۡ ؕ قُلۡ فَانۡتَظِرُوۡۤا
اِنِّیۡ مَعَكُمۡ مِّنَ الۡمُنۡتَظِرِیۡنَ ﴿۱۰۲﴾ ثُمَّ نُنَجِّیۡ رُسُلَنَا وَ الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا كَذٰلِكَ ۚ حَقًّا عَلَیۡنَا
ع ١٠ ١١ ١٥ نُنۡجِ الۡمُؤۡمِنِیۡنَ ﴿۱۰۳﴾ؑ

چؤ تہ آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪو ڪجھ آهي تنهن کي ڏسو ۽ نشانيون ۽ ڊيڄارڻ انهن ماڻهن کي فائدو نہ ٿا پهچائين جيڪي ايمان نہ ٿا آڻين. اهي تہ رڳو اهڙي طرح جي ڏينهن جو انتظار ڪري رهيا آهن جنهن طرح جو ڏينهن انهن کان اڳ گذريل ماڻهن کي پيش آيو. چؤ انتظار ڪريو آئون بہ توهان سان گڏ انتظار ڪندڙن مان آهيان. پوءِ اسان بچائي وٺندا آهيون پنهنجن رسولن کي ۽ انهن کي جن ايمان آندو. اهڙي طرح اسان جي ذمي آهي تہ اسان ايمان وارن کي بچائي وٺنداسون. ١٠١-١٠٣

---

اسان جي چؤطرف جيڪا ڪائنات آهي، ان ۾ بيشمار نشانيون موجود آهن جيڪي خدا جي وجود کي ثابت ڪري رهيون آهن. ۽ انهي سان گڏ اِهو بہ ٻڌائين ٿيون تہ هِن ڪائنات جي باري ۾ خدا جو منصوبو ڇا آهي؟ وڏيڪ اِهو تہ دنيا ۾ ڊيڄارڻ جي لاءِ (طوفان ۽ زلزلا وغيره) جهڙا واقعا بہ پيش ايندا رهندا آهن جيڪي انسان کي خدا ۽ آخرت جي معاملي ۾ سنجيده بڻائين. پر اِهو سڀ ڪجھ امتحان جي دنيا ۾ ٿيندو آهي، يعني اهڙي دنيا جتي ماڻهو کي اختيار آهي تہ مڃي يا نہ مڃي. تنهن ڪري ماڻهو ايئن ڪندو آهي تہ جڏهن نشانيون ۽ ڊيڄارڻ جا واقعا سامهون ايندا آهن تہ هُو اُنهن کي ڪونہ ڪو هٿ ٺوڪيل سبب ڄاڻائي ڳالھ کي ٻئي رخ ڏانهن ڦيري ڇڏيندو آهي ۽ نصيحت کان محروم رهجي ويندو آهي.

جڏهن ماڻهو دليل جي زبان ۾ ڳالهه کي نه مڃي ته چڻ هو رڳو ان ڏينهن جو انتظار ڪري رهيو آهي، جڏهن امتحان جو پردو هٽايو ويجي ۽ خدا پنهنجو آخري فيصلو ٻڌائڻ جي لاءِ سامهون اچي وڃي. پر اهو ڏينهن جڏهن ايندو ته اُهو اڄوڪي ڏينهن کان بلڪل مختلف هوندو. اڄ ته مڃڻ وارا ۽ نه مڃڻ وارا ٻئي بظاهر هڪ جهڙي حالت ۾ نظر ايندا آهن. پر جڏهن فيصلي جو ڏينهن ايندو ته ان کانپوءِ اُهي ئي ماڻهو امن ۾ هوندا جيڪي حق پرست ثابت ٿيا هجن. باقي سيئي ماڻهو اهڙي طرح عذاب جي پڪڙ ۾ اچي ويندا جو ان کانپوءِ سندن لاءِ ڪا راهه نه هوندي جتان ڀڄي هو نجات حاصل ڪن.

قُلْ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنْ كُنْتُمْ فِيْ شَكٍّ مِّنْ دِيْنِيْ فَلَاۤ اَعْبُدُ الَّذِيْنَ تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَ لٰكِنْ اَعْبُدُ اللّٰهَ الَّذِيْ يَتَوَفّٰىكُمْ ۚۖ وَ اُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۰۴﴾ وَ اَنْ اَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ حَنِيْفًا ۚ وَ لَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۱۰۵﴾ وَ لَا تَدْعُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنْفَعُكَ وَ لَا يَضُرُّكَ ۚ فَاِنْ فَعَلْتَ فَاِنَّكَ اِذًا مِّنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۰۶﴾ وَ اِنْ يَّمْسَسْكَ اللّٰهُ بِضُرٍّ فَلَا كَاشِفَ لَهٗۤ اِلَّا هُوَ ۚ وَ اِنْ يُّرِدْكَ بِخَيْرٍ فَلَا رَآدَّ لِفَضْلِهٖ ؕ يُصِيْبُ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ؕ وَ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿۱۰۷﴾

چئو اي انسانو! جيڪڏهن توهان منهنجي دين جي متعلق شڪ ۾ آهيو، ته آئون ان جي عبادت نه ٿو ڪريان جن جي عبادت توهان ڪندا آهيو الله ڪانسواءِ. بلڪ آئون ان الله جي عبادت ڪندو آهيان جيڪو توهان کي موت ڏي ٿو ۽ مون کي حڪم مليو آهي ته آئون ايمان وارن مان ٿيان. ۽ اِهو ته هڪ طرفو ٿي ڪري پنهنجو رخ دين ڏانهن ڪريان. ۽ مشرڪن مان نه ٿيان. ۽ الله ڪانسواءِ انهن کي نه پڪار جيڪي توکي نه فائدو پهچائي سگهندا آهن ۽ نه نقصان. پوءِ جيڪڏهن تون ايئن ڪندين ته يقيناً تون ظالمن مان ٿي پوندين. ۽ جيڪڏهن الله توکي ڪا تڪليف ڏي ته ان ڪانسواءِ ڪوبه نه آهي جيڪو ان کي پري ڪري سگهي. ۽ جيڪڏهن هو توکي ڪا ڀلائي پهچائڻ چاهي ته ان جي فضل کي ڪوبه روڪڻ وارو نه آهي. هو پنهنجو فضل پنهنجي ٻانهن مان جنهن کي چاهي ٿو ڏي ٿو ۽ اُهو بخشڻ وارو مهربان آهي. ١٠٤-١٠٧

---

داعي شروع ۾ دليل جي زبان ۾ پنهنجي ڳالهه چوندو آهي. پر جڏهن ماڻهو دليل ٻڌڻ جي باوجود شڪ شبهي ۾ هوندا آهن ته انهن وٽ آخري شيءِ جيڪا رهجي ويندي آهي، اُهو عزم جي زبان ۾ پنهنجي پيغام جي صداقت جو اظهار ڪرڻ آهي.

توحيد جي داعي جو شرڪ جي پرستارن کي اِهو چوڻ ته ”آئون ان جي عبادت نه ٿو ڪريان جنهن جي عبادت توهان ماڻهو ڪندا آهيو“. اِها رڳو هڪ دعويٰ نه آهي بلڪ اِها پنهنجي ذات ۾ هڪ دليل به آهي. ان جو مطلب اِهو آهي ته آئون به توهان جهڙو هڪ انسان آهيان. مون وٽ به اُهوئي عقل آهي جيڪو توهان وٽ آهي. پوءِ جنهن ڳالهه جي صداقت منهنجي سمجهه ۾ اچي رهي آهي ته ان جي صداقت اوهان جي سمجهه ۾ آخر ڇو نه ٿي اچي.

سچائي جيڪڏهن هڪ انسان جي سطح تي سمجهه جي قابل ٿي وڃي ته ان مان اِهو ثابت ٿي

ويندو آهي تہ اُها ٻين انسانن لاءِ بہ سمجهہ جي قابل آهي. ان جي باوجود جيڪڏهن ٻيا ماڻهو انڪار ڪن تہ يقينًا ان جو سبب خود سندن ڪو نقص هوندو نہ وري حق جي دعوت جو نقص. جنهن شيءِ ڪي هڪ اکين وارو ڏسي رهيو هجي ۽ ٻيو اکين وارو ماڻهو ان کي نہ ڏسي تہ اُهو رڳو هِن ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ اکين وارو حقيقت ۾ اکين وارو نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ هِن دنيا ۾ اِهو ممڪن نہ آهي تہ جنهن شيءِ کي هڪ اکين وارو ڏسي وٺي، ان کي ٻيو ماڻهو اکين هوندي بہ نہ ڏسي سگهي.

موت هِن ڳالهہ جو اعلان آهي تہ ماڻهو هِن دنيا ۾ ڪامل طور تي بي اختيار آهي. موت اهڙين سيني شين کي باطل ثابت ڪري ڇڏي ٿو جن جي سهاري ماڻهو انڪار ۽ سرڪشي جو طريقو اختيار ڪندو آهي. موت هڪ طرف ماڻهو کي پنهنجي عجز ۽ ٻئي طرف خدا جي قدرت جو تعارف ڪرائي ٿو. هُو ٻڌائيندو آهي تہ هِن دنيا ۾ ڪير بہ نہ آهي جنهن کي نفعو ڏيڻ يا نقصان پهچائڻ جو اختيار حاصل هجي. اِهڙي طرح موت ماڻهو کي هر ٻي شيءِ کان جدا ڪري خدا ڏانهن موٽي ويندو آهي. اُهو مڪمل طور تي انسان کي خدا جو پرستار بڻائيندو آهي. جيڪڏهن ماڻهو جي اندر سبق وٺڻ جو ذهن هجي تہ رڳو موت جو واقعو ئي هِن جي اصلاح جي لاءِ ڪافي ٿي وڃي.

هر انسان تي هڪ وقت ايندو آهي، جڏهن هو بي وسيءَ ۾ پنهنجي پاڻ کي موت جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙي طرح ڪنهن انسان جي وس ۾ نہ آهي جو هو فائدي ۽ نقصان جي معاملي ۾ اُهوئي ٿيڻ ڏي جيڪو هُو چاهي ٿو. هو گهربل فائدي کي هرحال ۾ حاصل ڪري وٺي ۽ اڻوڻندڙ نقصان کان هر حال ۾ محفوظ رهي.

اِها صورتحال ٻڌائي ٿي تہ انسان هڪ بي اختيار مخلوق آهي. هو هڪ اهڙي دنيا ۾ آهي جتي ڪو ٻيو بہ آهي جيڪو ان جي مٿان حڪمراني ڪري رهيو آهي.

قُلْ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكُمْ ۚ فَمَنِ اهْتَدٰى فَاِنَّمَا يَهْتَدِيْ لِنَفْسِهٖ ۚ
وَ مَنْ ضَلَّ فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيْهَا ۚ وَ مَآ اَنَا عَلَيْكُمْ بِوَكِيْلٍ ۝١٠٨ وَ اتَّبِعْ مَا يُوْحٰٓى اِلَيْكَ وَ
اصْبِرْ حَتّٰى يَحْكُمَ اللّٰهُ ۚ وَ هُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ۝١٠٩ ع ١١ ١٦

چؤ اي انسانو! توهان جي رب جي طرفان توهان وٽ حق اچي ويو آهي. جيڪو هدايت قبول ڪندو، اُهو پنهنجي لاءِ ئي ڪندو ۽ جيڪو گمراهہ ٿيو تہ اُن جي گمراهي مٿس ئي آهي ۽ آئون توهان تي نگهبان نہ آهيان. ۽ تون اُن جي پيروي ڪر جيڪو تو تي وحي ڪيو وڃي ٿو ۽ صبر ڪر جيستائين الله فيصلو ڪري ۽ اُهو بهترين فيصلو ڪرڻ وارو آهي. ١٠٨-١٠٩

---

دعوت جو اصل ڪم حق جو اعلان آهي. ڪنهن جماعت يا گروهہ تي اُن وقت پيغام پهچائڻ جو حق ادا ٿي ويندو آهي، جڏهن داعي حق جي امر کي دليل جي ذريعي پوري طرح واضح ڪري ڇڏي ۽ اُن سان گڏ اُن ڳالهہ جو ثبوت بہ ڏئي ڇڏي تہ هو هِن معاملي ۾ پوري طرح سنجيده آهي.

داعي جيڪڏهن وقت جي معيار مطابق حق جي امر کي دليل سان ثابت ڪري ڇڏي. هو نفعي ۽ نقصان کان بي نياز ٿي حق جي مڪمل شاهدي ڏئي ڇڏي. هو هر تڪليف ۽ ناخوشگواري کي برداشت

ڪندي پنهنجي دعوتي ڪم کي جاري رکي تہ اُن کان پوءِ مخاطب تي حُجت پوري ٿي ويندي آهي، جنهن کان پوءِ خدا وٽ ڪنهن جي لاءِ ڪو عذر باقي نہ رهي.

داعيءَ جو ڪم اصل ۾ وحي جي پيروي ڪرڻ آهي. يعني پنهنجي ذات جي حد تائين عملي طور تي رب جي مرضي تي قائم رهندي ٻين کي رب جي مرضي ڏانهن سڏڻو آهي. هن ڪم کي هر حال ۾ حڪمت ۽ صبر ۽ خير خواهي سان مسلسل جاري رکڻو آهي. اُن کان پوءِ جيترا باقي مرحلا آهن، اُهي سڀ براهہ راست طور تي خدا جي متعلق آهن. داعي جي طرفان ڪو ٻيو عملي قدم رکڻو اُن وقت درست آهي، جڏهن خود خدا طرفان اُن جو فيصلو ٿي وڃي ۽ اُن جون نشانيون ظاهر ٿي وڃن.

خدا جو فيصلو هميشہ حالتن جي روپ ۾ ظاهر ٿيندو آهي. جڏهن خدا جي علم ۾ داعيءَ جو دعوتي ڪم ڪهربل حد کي پهچي ويندو آهي تہ خدا حالتن ۾ اهڙيون تبديليون پيدا ڪندو آهي جن کي استعمال ڪري داعي پنهنجي عمل جي اڳئين مرحلي ۾ داخل ٿي وڃي.

اٰيَاتها ١٢٣ (١١) سُوْرَةُ هُوْدٍ مَكِّيَّةٌ (٥٢) رکوعاتها ١٠

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الٓرٰ ۫ كِتٰبٌ اُحْكِمَتْ اٰيٰتُهٗ ثُمَّ فُصِّلَتْ مِنْ لَّدُنْ حَكِيْمٍ خَبِيْرٍ ۙ﴿۱﴾ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللّٰهَ ۭ
اِنَّنِيْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ وَّبَشِيْرٌ ۙ﴿۲﴾ وَّاَنِ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ يُمَتِّعْكُمْ مَّتَاعًا
حَسَنًا اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى وَّيُؤْتِ كُلَّ ذِيْ فَضْلٍ فَضْلَهٗ ۭ وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنِّىْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ
عَذَابَ يَوْمٍ كَبِيْرٍ ﴿۳﴾ اِلَى اللّٰهِ مَرْجِعُكُمْ ۚ وَهُوَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۴﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

الف-لام-را. هي ڪتاب آهي جنهن جون آيتون پهرين محڪم ڪيون ويون، پوءِ هڪ داناءَ ۽ باخبر هستي جي طرفان اُن جي تفصيل ڪئي وئي تہ توهان الله کانسواءِ ڪنهن ٻئي جي عبادت نہ ڪريو. آئون توهان کي ان جي طرفان ڊيڄارڻ وارو ۽ خوشخبري ڏيڻ وارو آهيان. ۽ اِهو تہ توهان پنهنجي رب کان معافي گهرو ۽ ان ڏانهن موٽو تہ هُو توهان کي هڪ مدت تائين سٺي آسودگي ڏي ۽ هر زياده جي مستحق کي پنهنجي طرفان وڌيڪ عطا ڪري. ۽ جيڪڏهن توهان منهن موڙيو تہ آئون توهان جي حق ۾ هڪ وڏي ڏينهن جي عذاب کان ڊڄان ٿو. توهان سڀني کي الله ڏانهن موٽڻو آهي ۽ هُو هر شيءِ تي قادر آهي. ١-٤

---

قرآن جي دعوت اِها آهي تہ ماڻهو هڪ الله کانسواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪري. هُو هڪ خدا کي پنهنجي سڀ ڪجهہ بڻائي. هُو اُن ئي کان ڊڄي ۽ اُن ئي مان اميد رکي. اُن جي ذهن ۽ دماغ تي هُن ئي جو غلبو هجي. پنهنجي زندگي جي معاملن ۾ هُو سڀني کان وڌيڪ هُن ئي جي مرضيءَ جو لحاظ ڪري. هو پنهنجي پاڻ کي ٻانهي جي مقام تي رکي خدا کي معبود جو مقام ڏيڻ تي راضي ٿي وڃي.

پيغمبر جي دعوت اصل ۾ ان ئي شيءِ کان انسان کي باخبر ڪرڻ جي دعوت آهي. قرآن ۾ اُن کي انتهائي محڪم زبان ۽ واضح ڍنگ ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هاڻي انسان کان جيڪا شيءِ گهربل آهي، اُها هِي تہ هُو ان جي مقابلي ۾ صحيح رد عمل پيش ڪري. حسد، تڪبر، مصلحت پرستي ۽ گروهہ پرستي جهڙين شين جي اثر ۾ اچي هُو ان کي نظرانداز نہ ڪري ڇڏي. بلڪ سڌي طرح اُن کي مڃي خدا ڏانهن موٽي اچي. هُو پنهنجن ماضي جي غلطين جي لاءِ خدا کان معافي گُهري ۽ مستقبل جي لاءِ خدا کان مدد جي درخواست ڪري.

ماڻهوءَ جي سامهون ڪاڏو پيش ڪيو وڃي ۽ هُو ڪائڻ قبول ڪري وٺي تہ اُن جو مطلب اُهو آهي تہ هُن پنهنجي جسماني پرورش جو انتظام ڪيو. ان جي ابتڙ جيڪڏهن هُو ڪاڏو قبول نہ ڪري تہ ڄڻ هُن پنهنجي پاڻ کي جسماني پرورش کان محروم رکيو. اِهڙو ئي معاملو حق جي دعوت جو آهي. جڏهن ماڻهو حق کي قبول ڪندو آهي تہ حقيقت ۾ هو اُن رباني رزق کي قبول ڪندو آهي، جيڪو ان جي اندر داخل ٿي ان جي روح ۽ ان جي جسم جي صالح پرورش جو سبب بڻجي ۽ آخرڪار ان کي روحاني ترقي جي اُن منزل ڏانهن وٺي وڃي جيڪا هُن کي جنت جي باغن جو مستحق بڻائي ٿي.

جيڪو ماڻهو حق جي دعوت کي قبول نہ ڪري، ان ڄڻ تہ پنهنجي روح کي رباني پرورش کان محروم ڪري ڇڏيو. حق کي مڃڻ وارو جيڪڏهن عاجزي ۾ جي رهيو هو تہ ٻيو ماڻهو تڪبر جي نفسيات ۾ جيئندو. حق کي مڃڻ واري جو وقت جيڪڏهن خدا جي ياد ۾ بسر ٿي رهيو هجي تہ ٻئي ماڻهو جو وقت غير خدا جي ياد ۾ گذرندو. حق کي مڃڻ وارو جيڪڏهن زندگيءَ جي معاملن ۾ خدا جي اطاعت جو رويو اختيار ڪندو هوندو تہ ٻيو ماڻهو اُن جي جاءِ تي سرڪشي جو رويو اختيار ڪندو. ان جو نتيجو اِهو ٿيندو جو پهريون شخص هِن دنيا مان ان حال ۾ ويندو جو ان جي روح صحت مند ۽ ترقي يافتہ روح هوندي ۽ جنت جي فضائن ۾ رهڻ جي مستحق ٿيندي. ۽ ٻي شخص جو روح بيمار ۽ هارايل روح هوندو ۽ رڳو ان قابل هوندو جو ان کي جهنم جي ڪچري ۾ اڇلائي ڇڏجي.

اَلَاۤ اِنَّهُمۡ يَثۡنُوۡنَ صُدُوۡرَهُمۡ لِيَسۡتَخۡفُوۡا مِنۡهُ ؕ اَلَا حِيۡنَ يَسۡتَغۡشُوۡنَ ثِيَابَهُمۡ ۙ يَعۡلَمُ مَا يُسِرُّوۡنَ وَمَا يُعۡلِنُوۡنَ ۚ اِنَّهٗ عَلِيۡمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوۡرِ ۝٥

الجزء الثاني عشر (١٢)

وَمَا مِنۡ دَآبَّةٍ فِى الۡاَرۡضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزۡقُهَا وَيَعۡلَمُ مُسۡتَقَرَّهَا وَمُسۡتَوۡدَعَهَا ؕ كُلٌّ فِىۡ كِتٰبٍ مُّبِيۡنٍ ۝٦

ڏس اِهي ماڻهو پنهنجن سينن کي ڍڪيندا آهن تہ جيئن اُن کان لڪيل رهن. خبردار! جڏهن هُو ڪپڙن سان پنهنجي پاڻ کي ڍڪيندا آهن، الله ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهہ هُو لڪائين ٿا ۽ جيڪو هُو ظاهر ڪندا آهن. هو دلين جون ڳالهيون بہ ڄاڻڻ وارو آهي. ۽ زمين تي ڪو هلڻ وارو اِهڙو نہ آهي جنهن جي روزي الله جي ذمي نہ هجي. ۽ سندس رهڻ جو هنڌ ۽ سندس سانيائڻ جي جاءِ هو ڄاڻندو آهي. سڀ ڪجهہ هڪ ڪليل ڪتاب ۾ موجود آهي. ٥-٦

قريش جي ڪجهه سردارن ايئن ڪيو ته جڏهن رسول اللهﷺ انهن جي سامهون توحيد جي دعوت پيش ڪئي ته هو بي پرواهي سان اٿيا ۽ پنهنجي چادر پنهنجي مٿان وجهندي روانا ٿي ويا.

اِها اصل ۾ ڪنهن ڳالهه کي نظرانداز ڪرڻ جي هڪ صورت آهي. ڪو ماڻهو جڏهن داعي کي حقير سمجهي ۽ ان جي مقابلي ۾ پاڻ کي برتر ۽ وڏو سمجهي ته ان وقت هو اهڙي قسم جو رويو اختيار ڪندو آهي. پر ماڻهو ڪان وسري وڃي ٿو ته جنهن نفسيات جي ڪري هو ايئن ڪري رهيو آهي، ان جي الله تعاليٰ کي چڱي طرح خبر آهي. اِهو رڳو هڪ انسان (داعي) کي نظرانداز ڪرڻ نه آهي، بلڪ خود خدا کي نظرانداز ڪرڻ آهي جيڪو هر ظاهر ۽ ڳجهي کي ڄاڻڻ وارو آهي.

ماڻهو جو حال ان وقت ڪهڙو ٿيندو، جڏهن هو خدا جي سامهون بيهندو. هو ڏسندو ته جنهن خدا کي هن نظرانداز ڪيو هو، اهائي اُها هستي آهي جنهن ڪان اُن کي اُهو سڀ ڪجهه مليو هو جيڪو ان وٽ هو. ايستائين جو اُهي اسباب به جن جي ڪري اُن خدا جي ڳالهه کي نظر انداز ڪري ڇڏيو هو. ماڻهو خدا جي دنيا ۾ آهي ۽ آخرڪار هو خدا ڏانهن وڃڻ وارو آهي. پر هو ايئن رهندو آهي ڄڻ ته اڄ خدا سان ان جو ڪو به واسطو نه آهي ۽ نه آئنده ان جو خدا سان ڪو واسطو پوڻ وارو آهي.

وَ هُوَ الَّذِیۡ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ فِیۡ سِتَّةِ اَیَّامٍ وَّ کَانَ عَرۡشُهٗ عَلَی الۡمَآءِ لِیَبۡلُوَکُمۡ
اَیُّکُمۡ اَحۡسَنُ عَمَلًا ؕ وَ لَئِنۡ قُلۡتَ اِنَّکُمۡ مَّبۡعُوۡثُوۡنَ مِنۡۢ بَعۡدِ الۡمَوۡتِ لَیَقُوۡلَنَّ الَّذِیۡنَ
کَفَرُوۡۤا اِنۡ هٰذَاۤ اِلَّا سِحۡرٌ مُّبِیۡنٌ ﴿۷﴾ وَ لَئِنۡ اَخَّرۡنَا عَنۡهُمُ الۡعَذَابَ اِلٰۤی اُمَّةٍ مَّعۡدُوۡدَةٍ
لَّیَقُوۡلُنَّ مَا یَحۡبِسُهٗ ؕ اَلَا یَوۡمَ یَاۡتِیۡهِمۡ لَیۡسَ مَصۡرُوۡفًا عَنۡهُمۡ وَ حَاقَ بِهِمۡ مَّا کَانُوۡا بِهٖ
ع ٨ یَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ﴿۸﴾

۽ اُهوئي آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪيو. ۽ سندس عرش پاڻي تي هو، ته جيئن توهان کي آزمائي ته ڪير توهان مان چڱا ڪم ڪري ٿو. ۽ جيڪڏهن تون چوندين مرڻ کانپوءِ توهان ماڻهو اٿاريا ويندؤ ته منڪر چوندا آهن اهو ته پڌرو جادو آهي. ۽ جيڪڏهن اسان ڪجهه مدت تائين سندن سزا کي روڪي ڇڏيون ته چوندا آهن ته ڪهڙي شيءِ ان کي روڪيو آهي. خبردار! جنهن ڏينهن اُهو مٿن ايندو ته اُهو انهن تان نه ٽرندو. ۽ انهن کي اُها شيءِ وڪوڙي وٺندي جنهن جو اُهي مذاق اڏائي رهيا هئا. ٧-٨

---

موجوده دنيا کي خدا ڇهن ڏينهن يعني ڇهن دؤرن (Periods) ۾ پيدا ڪيو آهي. زمين تي هڪ اِهڙو دؤر گذريو آهي، جڏهن ته ان جي سطح پاڻي سان ڍڪيل هئي. خدا جي سلطنت جي ان حصي ۾ ان وقت رڳو پاڻي نظر ايندو هو. ان کانپوءِ خدا جي حڪم سان خشڪي وارا حصا ظاهر ٿيا ۽ پاڻي سمنڊن جي گهرائي ۾ جمع ٿي ويو. اهڙي طرح اِهو ممڪن ٿيو جو زمين تي موجوده هر قسم جي زندگي وجود ۾ آئي.

خدا اُن تي قادر آهي ته واقعن کي اچانڪ ظاهر ڪري ڇڏي. پر هي دنيا انسان لاءِ امتحان طور بڻائي وئي آهي. اِهوئي سبب آهي جو خدا موجوده دنيا کي هڪ منصوبي جي تحت بڻايو ۽ پنهنجي

تخليق تي اسباب جو پردو قائم رکيو.

دنيا جي پيدائش ۽ اُن تي انسان کي آباد ڪرڻ مان خدا جو مقصد چڱا عمل ڪرڻ وارن جو انتخاب آهي. ”چڱو عمل“ اصل ۾ حقيقت پسنداڻي عمل جو ٻيو نالو آهي. يعني ڪنهن دٻاءُ جي بغير اُهو ڪرڻ جيڪو حقيقت ۾ ماڻهو کي ڪرڻ کپي. حقيقت پسند ماڻهو اُهو آهي جيڪو اسباب جي ظاهري پردي مان گذري خدا جي لڪيل اَمر کي ڏسي وٺي. بظاهر اختيار رکندي پنهنجي پاڻ کي بي اختيار ڪري وٺي. سرڪشي جي زندگي گذارڻ جو موقعو هوندي خدا جو فرمانبردار بڻجي وڃي.

موجوده دنيا ۾ اِهڙن ئي حقيقت پسند انسانن جي چونڊ ٿي رهي آهي. جڏهن چونڊ جي اُها مدت ختم ٿي ويندي ته موجوده نظام کي ختم ڪري ٻيو معياري نظام بڻايو ويندو. جتي سڀ سٺيون شيون صرف سٺا عمل ڪرڻ وارن جي لاءِ هونديون ۽ سڀئي بريون شيون رڳو برا عمل ڪرڻ وارن جي لاءِ.

الله تعاليٰ پنهنجي مهلت جي قانون جي ڪري منڪرن ۽ سرڪشن کي فورًا نه ٿو پڪڙي. انهن کي انتهائي حد تائين موقعو ڏيندو آهي ته هو يا ته خبردار ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي اصلاح ڪري وٺن يا آخري حد تائين پنهنجي پاڻ کي مجرم ثابت ڪري ڇڏين. اِهو مهلت جو قانون ڪجهه سرڪشن جي لاءِ غلط فهمي جو سبب بڻجي ويندو آهي. هو پنهنجي حيثيت کي وساري وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪرڻ لڳندا آهن. پر جڏهن هُو خدا جي پڪڙ ۾ اچي ويندا ته ان وقت انهن کي خبر پوندي ته اُهي خدا جي مقابلي ۾ ڪيتري قدر بي وس هئا.

وَلَئِنۡ اَذَقۡنَا الۡاِنۡسَانَ مِنَّا رَحۡمَةً ثُمَّ نَزَعۡنٰهَا مِنۡهُ ۚ اِنَّهٗ لَيَـُٔوۡسٌ كَفُوۡرٌ ﴿۹﴾ وَلَئِنۡ اَذَقۡنٰهُ
نَعۡمَآءَ بَعۡدَ ضَرَّآءَ مَسَّتۡهُ لَيَقُوۡلَنَّ ذَهَبَ السَّيِّاٰتُ عَنِّىۡ ؕ اِنَّهٗ لَفَرِحٌ فَخُوۡرٌ ﴿۱۰﴾ اِلَّا
الَّذِيۡنَ صَبَرُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمۡ مَّغۡفِرَةٌ وَّاَجۡرٌ كَبِيۡرٌ ﴿۱۱﴾

۽ جيڪڏهن اسان انسان کي پنهنجي رحمت سان نوازيندا آهيون پوءِ ان کي انهي کان محروم ڪري ٿا ڇڏيون ته هُو مايوس ۽ ناشڪرو بڻجي ويندو آهي. ۽ جيڪڏهن ڪنهن تڪليف ڪانپوءِ جيڪا ان کي پهتي هئي، ان کي اسان نعمت سان نوازيندا آهيون ته هو چوندو آهي سڀ مصيبتون مون کان پري ٿي ويون، هُو فخر ڪرڻ وارو ۽ آڪڙ ڪرڻ وارو بڻجي ويندو آهي. پر جيڪي ماڻهو صبر ڪرڻ وارا ۽ نيڪ عمل ڪرڻ وارا آهن سندن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي. ٩-١١

---

موجوده دنيا ۾ ماڻهو کي ڪڏهن راحت ڏني ويندي آهي ۽ ڪڏهن مصيبت. پر هتي نه راحت انعام جي طور تي آهي ۽ نه مصيبت سزا جي طور تي. ٻنهي جو مقصد آزمائش آهي، هي دنيا امتحان جو گهر آهي. هِتي انسان کي جيڪو ڪجهه پيش ايندو آهي اُهو رڳو ان لاءِ هوندو آهي ته اِهو ڏسجي ته مختلف حالتن ۾ انسان ڪهڙي قسم جو رد عمل پيش ڪيو.

اُهو ماڻهو ناڪام آهي جنهن جو حال اِهو هجي جو جڏهن ان کي خدا طرفان ڪا راحت پهچي ته هو فخر جي نفسيات ۾ مبتلا ٿي وڃي ۽ جيڪي ماڻهو ان کي پاڻ کان گهٽ ڏسڻ ۾ اچن ۽ انهن جي مقابلي ۾ هو آڪڙجڻ لڳي. اهڙي طرح اِهو شخص به ناڪام آهي، جڏهن ان کان ڪا شيءِ کسجي وڃي

۽ هو مصيبت جو شڪار ٿي وڃي ته هو نا شڪري ڪرڻ لڳي. ڪنهن محرومي ڪانپوءِ به ماڻهو وٽ خدا جي ڏنل گهٽيون ئي شيون موجود هونديون آهن. پر ماڻهو انهن کي وساري ٿو ڇڏي ۽ وڃايل شيءِ جي غم ۾ اهڙو پست همت ٿي ويندو آهي ڄڻ ته ان جو سڀ ڪجھ لٽجي ويو آهي.

ان جي ابتڙ ايمان ۾ پوري لهڻ وارا اُهي آهن جيڪي صابر ۽ صالح عمل هجن. يعني هر جهٽڪي جي باوجود پنهنجي پاڻ کي اعتدال تي باقي رکن ۽ اُهوئي ڪن جيڪو خدا جو پانهو تيڻ جي حيثيت سان انهن کي ڪرڻ کپي.

صبر اِهو آهي ته ماڻهو جي نفسيات حالتن جي زير اثر نه نهي، بلڪ اصول ۽ نظريي جي تحت نهي. حالتون چاهي ڪهڙيون به هجن، هو انهن کان بلند ٿي خالص حق جي روشني ۾ پنهنجي راءِ قائم ڪري. هو حالتن کان غير متاثر رهي پنهنجي عقيدي ۽ شعوري سطح تي زنده رهڻ جي طاقت رکندو هجي. اهڙي قسم جي زندگي نيڪ عملي جي زندگي آهي. جيڪي ماڻهو هِن نيڪ عملي جو ثبوت ڏين، اُهي ئي اُهي ماڻهو آهن جيڪي اچڻ واري زندگي ۾ خدا جي رحمتن ۾ حصيدار هوندا ۽ خدا جي ابدي جنتن ۾ جاءِ حاصل ڪندا.

فَلَعَلَّكَ تَارِكٌۢ بَعۡضَ مَا يُوۡحٰٓى اِلَيۡكَ وَ ضَآئِقٌۢ بِهٖ صَدۡرُكَ اَنۡ يَّقُوۡلُوۡا لَوۡ لَاۤ اُنۡزِلَ عَلَيۡهِ
كَنۡزٌ اَوۡ جَآءَ مَعَهٗ مَلَكٌ‌ ؕ اِنَّمَاۤ اَنۡتَ نَذِيۡرٌ‌ ؕ وَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ وَّكِيۡلٌ ؕ ﴿۱۲﴾ اَمۡ يَقُوۡلُوۡنَ
افۡتَرٰٮهُ‌ ؕ قُلۡ فَاۡتُوۡا بِعَشۡرِ سُوَرٍ مِّثۡلِهٖ مُفۡتَرَيٰتٍ وَّادۡعُوۡا مَنِ اسۡتَطَعۡتُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ
اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿۱۳﴾ فَاِلَّمۡ يَسۡتَجِيۡبُوۡا لَـكُمۡ فَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّمَاۤ اُنۡزِلَ بِعِلۡمِ اللّٰهِ وَاَنۡ لَّاۤ
اِلٰهَ اِلَّا هُوَ‌ ۚ فَهَلۡ اَنۡتُمۡ مُّسۡلِمُوۡنَ ﴿۱۴﴾

متان ايئن نه ٿي جو تون اُن شيءِ جو ڪجھ حصو ڇڏي ڏين جيڪو تو ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي. ۽ تون اُن ڳالھ تي دل تنگ ڪرين جو هو چون ٿا ته مٿس ڪو خزانو ڇو نه لاٿو ويو يا ملائڪ ساڻس گڏ ڇو نه آيو. تون ته صرف ڊيڄارڻ وارو آهين ۽ الله هر شيءِ تي نگهبان آهي. ڇا هو چون ٿا ته پيغمبر هن ڪتاب کي گهڙي ورتو آهي. چؤ ته توهان اهڙيون ئي ڏھ سورتون ناهي آڻي ڏيکاريو ۽ الله کان سواءِ جنهن کي سڏي سگهو سڏي وٺو، جيڪڏهن توهان سچا آهيو. پوءِ جيڪڏهن هو توهان جي ڳالھ پوري نه ڪري سگهن ته ڄاڻي وٺو ته اِهو الله جي علم سان نازل ٿيو آهي ۽ اِهو ته اُن کان سواءِ ڪو به معبود نه آهي، پوءِ ڇا توهان حڪم مڃيو ٿا. ۱۲-۱۴

رسول الله ﷺ جڏهن شرڪ جي ترديد ڪئي ۽ ماڻهن کي توحيد ڏانهن سڏيو ته پاڻ ﷺ جا مخاطب بگڙي پيا. اُن جو سبب اِهو هو جو پاڻ ﷺ جي ڳالهين سان سندن وڏن تي تنقيد ٿيندي هئي جن جي دين کي انهن اختيار ڪيو هو ۽ جن سان تعلق تي اُهي فخر ڪندا هئا. صورتحال اِها هئي ته قديم عربن جا اُهي بزرگ تاريخي طور تي سندن نظر ۾ عظمت وارا هئا، جڏهن ته پيغمبر ﷺ سان گڏ اجا تاريخي عظمتون شامل نه ٿيون هيون، اُن وقت پاڻ ماڻهن کي هڪ معمولي حيثيت جي انسان جي روپ ۾ نظر ايندا هئا. عرب جا ماڻهو اهو ڏسي ڪاوڙجي پوندو هئا ته هڪ معمولي ماڻهو اهڙيون ڳالهيون چئي رهيو آهي جنهن سان سندن بزرگ بي حيثيت ثابت ٿي رهيا آهن.

اهڙين حالتن ۾ داعي جي ذهن ۾ اِهو خيال ايندو آهي ته هو گهٽ ۾ گهٽ وقتي طور تي تنقيدي انداز کان پرهيز ڪري ۽ صرف مثبت طور تي پنهنجو پيغام پيش ڪري. ”شايد تون وحي جي ڪجهه حصن جي تبليغ ڇڏي ڏين“ مان مراد خدا جي وحي جو اهوئي تنقيدي حصو آهي. پر الله تعاليٰ ڪي وضاحت مطلوب آهي ۽ تنقيد جي بغير وضاحت ممڪن نه آهي. پوءِ جيڪڏهن حق کي پوري طرح واضح ڪرڻ جي نتيجي ۾ ماڻهو داعي جو مذاق اُڏائن ۽ مخالفت ڪن ته اُن کان گهبرائڻ جي ڪهڙي ضرورت. مدعو طرفان اِهو مخالفاڻو رد عمل ته اصل ۾ اُها قيمت آهي جيڪا ڪنهن ماڻهو کي خالص حق جو داعي ٿيڻ جي لاءِ هن دنيا ۾ ادا ڪرڻي پوي ٿي.

خدا جي داعيءَ جو حق تي هجڻ جو سڀني کان وڏيڪ يقيني ثبوت اُن جو ناقابل تقليد ڪلام آهي. جيڪي ماڻهو پيغمبر کي حقير سمجهي رهيا هئا ۽ اِهو يقين ڪرڻ جي لاءِ تيار نه هئا ته هن معمولي ماڻهو کي اُها سچائي ملي آهي جيڪا سندن بزرگن کي به نه ملي هئي. انهن کي چيو ويو ته پيغمبر جي صداقت کي اُن معيار تي نه جانچيو ته مادي لحاظ کان هو ڪهڙو آهي، بلڪ اُن حيثيت سان ڏسو ته هو جنهن ڪلام جي ذريعي پنهنجي دعوت پيش ڪري رهيو آهي، اُهو ڪلام ڪيڏو نه عظيم آهي جو توهان ۽ توهان جا سڀئي بزرگ ملي به اهڙو ڪلام نٿا ٺاهي سگهن. اِهو ناقابل تقليد امتياز هن ڳالهه جو قطعي ثبوت آهي ته پيغمبر خدا طرفان ڳالهائي رهيو آهي. پيغمبر جي حق تي هجڻ جي هن واضح نشاني کان پوءِ آخر ماڻهن کي خدا جو تابعدار ٿيڻ ۾ ڪهڙي شيءِ جو انتظار آهي.

مَنۡ كَانَ يُرِيۡدُ الۡحَيٰوةَ الدُّنۡيَا وَ زِيۡنَتَهَا نُوَفِّ اِلَيۡهِمۡ اَعۡمَالَهُمۡ فِيۡهَا وَ هُمۡ فِيۡهَا لَا يُبۡخَسُوۡنَ ﴿۱۵﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيۡنَ لَيۡسَ لَهُمۡ فِي الۡاٰخِرَةِ اِلَّا النَّارُ ۖ وَ حَبِطَ مَا صَنَعُوۡا فِيۡهَا وَ بٰطِلٌ مَّا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿۱۶﴾

جيڪي ماڻهو دنيا جي زندگي ۽ اُن جي زينت چاهين ٿا اسان سندن عملن جو بدلو دنيا ۾ ئي ڏئي ڇڏيندا آهيون. ۽ اُن ۾ انهن سان ڪا ڪمي نه ڪئي ويندي آهي. اِهي ئي ماڻهو آهن جن جي لاءِ آخرت ۾ باهه کانسواءِ ڪجهه به نه آهي. انهن دنيا ۾ جيڪو ڪجهه بڻايو هو اهو برباد ٿيو ۽ بيڪار ويو جيڪو انهن ڪمايو هو. ۱۵-۱۶

---

دين جا ٻه قسم آهن. هڪ ملاوٽي دين، ٻيو خالص دين. ملاوٽي دين اصل ۾ دنيا تي دين جو ليبل لڳائڻ جو ٻيو نالو آهي. اِهو دنيا ۽ دين جي وچ ۾ مصلحت جي بنياد تي وجود ۾ ايندو آهي. اهوئي سبب آهي جو هر زماني ۾ ايئن ئي ٿيندو آهي ته ملاوٽي دين جي بنياد تي وڏا وڏا ادارا قائم ٿيندا آهن. مفاد پرست ماڻهو انهن جي ذريعي دين جي نالي تي دنيا حاصل ڪري وٺندا آهن.

خالص دين جو معاملو اُن کان بلڪل ابتڙ آهي. خالص دين جي دعوت جڏهن ڪنهن ماحول ۾ اٿندي آهي ته اُها صرف هڪ نظرياتي سچائي هوندي آهي. معاشي مفاد ۽ قيادتي مصلحتون ان سان گڏ نه هونديون آهن. اهڙي حالت ۾ جيڪي ماڻهو ملاوٽي دين جي نالي تي عزت ۽ مقام حاصل ڪيل هجن، انهن جي سامهون جڏهن خالص دين جي دعوت ايندي آهي ته هو سخت خوفزده ٿي ويندا آهن. ڇاڪاڻ ته ان کي اختيار ڪرڻ جي صورت ۾ انهن کي نظر ايندو آهي ته سڀ دنياوي شيون انهن کان کسجي وينديون.

اُن لحاظ کان ڪنهن ماحول ۾ خالص دين جي دعوت جو بلند ٿيڻ هڪ نازڪ امتحان جو شروع ٿيڻ آهي. اِهڙي وقت ۾ جيڪي ماڻهو دنيا جي عزت ۽ دنيا جي فائدن کي ترجيح ڏيندا آهن ۽ خالص دين جو ساٿ نہ ڏين، انهن جا سڀ عمل ۽ ڪوششون دنيا جي لاءِ لکيون وينديون آهن. ڇاڪاڻ تہ انهن ان دين جو ساٿ ڏنو جنهن ۾ سندن دنياوي مفاد محفوظ هئا ۽ ان دين جو ساٿ نہ ڏنو جنهن ۾ انهن کي پنهنجن دنياوي مفادن جو نقصان نظر پئي آيو. اُهي ڇاهي ظاهر ۾ ديني سرگرمين ۾ مشغول هجن، اصل مقصد جي لحاظ کان هو دنيا کي حاصل ڪرڻ ۾ مشغول هوندا آهن. ظاهر آهي تہ اِهڙين ڪوششن جو آخرت ۾ ڪوبہ نتيجو ملڻ ممڪن نہ آهي.

انهن جيتوڻيڪ پنهنجن سرگرمين کي دين جي نالي سان منسوب ڪري رکيو هو، اُهي پنهنجن قومي ميلن تي دين جي جشن جو بورڊ لڳائيندا هئا. هو پنهنجن قومي لڙاين کي مقدس جنگ جو نالو ڏيندا هئا. هو پنهنجي قيادتي نمائش کي ديني ڪانفرنس چوندا هئا، هو پنهنجن سياسي هنگامن کي مذهب جي اصطلاح ۾ بيان ڪندا هئا، هو پنهنجن دنياوي جذبن جو ڏمچر مچائيندا هئا ۽ اُن کي خدا ۽ رسول سان جوڙيندا هئا، پر اِهي سڀئي شيون دنيا لاءِ هيون نہ وري اُهي آخرت جي لاءِ. ان ڪري قيامت جو زلزلو انهن کي بلڪل برباد ڪري ڇڏيندو. آخرت ۾ انهن کي ڪجھ بہ هٿ ۾ نہ ايندو.

اَفَمَنۡ كَانَ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنۡ رَّبِّهٖ وَ يَتۡلُوۡهُ شَاهِدٌ مِّنۡهُ وَ مِنۡ قَبۡلِهٖ كِتٰبُ مُوۡسٰٓى اِمَامًا وَّ رَحۡمَةً ؕ اُولٰٓئِكَ يُؤۡمِنُوۡنَ بِهٖ ؕ وَ مَنۡ يَّكۡفُرۡ بِهٖ مِنَ الۡاَحۡزَابِ فَالنَّارُ مَوۡعِدُهٗ ۚ فَلَا تَكُ فِىۡ مِرۡيَةٍ مِّنۡهُ ۚ اِنَّهُ الۡحَقُّ مِنۡ رَّبِّكَ وَ لٰكِنَّ اَكۡثَرَ النَّاسِ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۱۷﴾

ڀلا هڪ ماڻهو جيڪو پنهنجي رب جي طرفان هڪ دليل تي آهي، ان کانپوءِ الله جي طرفان اُن جي لاءِ هڪ گواهہ بہ اچي ويو ۽ ان کان اڳ موسيٰ جو ڪتاب رهنما ۽ رحمت جي حيثيت ۾ موجود هو. اهڙا ئي ماڻهو اُن تي ايمان آڻيندا آهن ۽ جماعتن مان جيڪو ان جو انڪار ڪري ان جي انجام جي جاءِ باهہ آهي. تنهن ڪري تون ان جي باري ۾ ڪنهن شڪ ۾ نہ پئجانءِ. اِهو حق آهي تنهنجي رب طرفان، پر اڪثر ماڻهو نہ ٿا مڃن. ١٧

---

پيغمبر ﷺ عرب ۾ توحيد جي دعوت پيش ڪئي تہ ڪجھ ماڻهن اُن کي مڃيو ۽ گهڻا ماڻهو ان جا منڪر ٿي ويا. اِهوئي هر زماني ۾ حق جي دعوت سان ٿيندو رهيو آهي.

خدا هر ماڻهو کي صحيح فطرت تي پيدا ڪيو آهي. دنيا ۾ چؤطرف اهڙيون نشانيون ڦهليل آهن جيڪي پنهنجي خالق جو اعلان ڪنديون آهن ۽ انهي سان گڏ ان جي تخليقي منصوبي ڏانهن اشارو بہ ڪري رهيون آهن. انسانيت جي بلڪل ابتدائي زماني کان خدا جا رسول ايندا رهيا آهن ۽ خدا جون ڳالهيون ماڻهن کي ٻڌائيندا رهيا آهن. انهن مان هڪ پيغمبر حضرت موسيٰ عليہ السلام آهن. جن جو آندل ڪتاب اڄا تائين ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ موجود آهي. هاڻي جيڪو ماڻهو سنجيده هجي ۽ شين کان سبق وٺڻ ڄاڻندو هجي تہ هو حقيقت کان ايترو مانوس هوندو تہ داعي جڏهن ان جي سامهون حقيقت جو اعلان ڪندو تہ هو فورًا ان کي سڃاڻي وٺندو. ان جو دل ۽ دماغ حق جي حق هئڻ تي شاهدي ڏيندا. هو اڳيان وڌي اُن کي اختيار ڪري وٺندو ڇو تہ اُهو سندس دل جو آواز هجي.

پر اڪثر ماڻهن جو حال اِهو هوندو آهي جو هو شين کي گهٽو سنجيدگي سان نہ ٿا ڏسن. هو سطحي تماشن ۽ وقتي دلچسپين ۾ پئجي پنهنجو مزاج بگاڙي ڇڏين ٿا. غير اهم ۽ غير متعلق شين جي مصروفيت انهن کي موقعو نٿي ڏي جو هو داعي ۽ ان جي دعوت تي وقت ڪڍي غور ڪن. تنهن ڪري جڏهن انهن جي سامهون حق جي دعوت ايندي آهي تہ هو ان کي سچاٽي نہ ٿا سگهن. هو پنهنجي بگڙيل مزاج جي ڪري اُن جا منڪر ۽ مخالف بڻجي ويندا آهن. هِي اُهي ماڻهو آهن جن خدا جي ۽ خدا جي تخليقي منصوبي جي ناقدري ڪئي. سندن لاءِ آخرت ۾ جهنم جي باھ کانسواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ آهي.

انسان جي فطرت، زمين ۽ آسمان جي واقعن ۽ اڳيان آسماني ڪتاب قرآن جي حق هئڻ جي شاهدي ڏئي رهيا آهن. ان ڪانپوءِ جيڪڏهن ماڻهن جي اڪثريت اُن جو انڪار ڪندي آهي تہ ان جو سبب منڪرن جي اندر تلاش ڪيو ويندو نہ وري اهو تہ خود قرآن جي ڪتاب حق هئڻ تي شڪ ڪيو وڃي.

وَ مَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنِ افۡتَرٰی عَلَی اللّٰہِ کَذِبًا ؕ اُولٰٓئِکَ یُعۡرَضُوۡنَ عَلٰی رَبِّہِمۡ وَ یَقُوۡلُ
الۡاَشۡہَادُ ہٰۤؤُلَآءِ الَّذِیۡنَ کَذَبُوۡا عَلٰی رَبِّہِمۡ ۚ اَلَا لَعۡنَۃُ اللّٰہِ عَلَی الظّٰلِمِیۡنَ ﴿۱۸﴾ الَّذِیۡنَ
یَصُدُّوۡنَ عَنۡ سَبِیۡلِ اللّٰہِ وَ یَبۡغُوۡنَہَا عِوَجًا ؕ وَ ہُمۡ بِالۡاٰخِرَۃِ ہُمۡ کٰفِرُوۡنَ ﴿۱۹﴾ اُولٰٓئِکَ لَمۡ
یَکُوۡنُوۡا مُعۡجِزِیۡنَ فِی الۡاَرۡضِ وَ مَا کَانَ لَہُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰہِ مِنۡ اَوۡلِیَآءَ ۘ یُضٰعَفُ لَہُمُ (وقف لازم)
الۡعَذَابُ ؕ مَا کَانُوۡا یَسۡتَطِیۡعُوۡنَ السَّمۡعَ وَ مَا کَانُوۡا یُبۡصِرُوۡنَ ﴿۲۰﴾ اُولٰٓئِکَ الَّذِیۡنَ خَسِرُوۡۤا
اَنۡفُسَہُمۡ وَ ضَلَّ عَنۡہُمۡ مَّا کَانُوۡا یَفۡتَرُوۡنَ ﴿۲۱﴾ لَا جَرَمَ اَنَّہُمۡ فِی الۡاٰخِرَۃِ ہُمُ
الۡاَخۡسَرُوۡنَ ﴿۲۲﴾

۽ اُن کان وڏو ظالم ڪير آهي جيڪو الله تي ڪوڙ گهڙي. اهڙا ماڻهو پنهنجي رب جي سامهون پيش ٿيندا ۽ شاهدي ڏيڻ وارا چوندا تہ هِي اُهي ماڻهو آهن جن پنهنجي رب تي ڪوڙ گهڙيو هو. ٻڌو الله جي لعنت آهي ظالمن تي. انهن ماڻهن تي جيڪي الله جي رستي کان ماڻهن کي روڪين ٿا ۽ اُن ۾ ڏنگائي ڳوليندا آهن. اِهي ئي ماڻهو آخرت جا منڪر آهن. اِهي ماڻهو زمين ۾ الله کي عاجز ڪرڻ وارا نہ آهن ۽ نہ وري الله کانسواءِ سندن ڪو مددگار آهي، انهن تي ٻيڻو عذاب ٿيندو. هو نہ ٻڌي سگهندا هئا ۽ نہ ڏسي سگهندا هئا. هِي اُهي ماڻهو آهن جن پنهنجي پاڻ کي نقصان ۾ وڌو. ۽ اُهو سڀ ڪجھ انهن کان گم ٿي ويو جيڪو اُنهن گهڙي رکيو هو. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ اِهي ماڻهو آخرت ۾ سڀني کان وڌيڪ خساري ۾ هوندا. ١٨-٢٢

---

”خدا تي ڪوڙ گهڙڻ“ مان مراد خدا جي ذات تي ڪوڙ گهڙڻ نہ آهي. ان مان مراد خدا جي ڳالھ تي ڪوڙ گهڙڻ آهي. خدا پنهنجو پيغام ٻڌائڻ جي لاءِ پاڻ سامهون نہ ٿو اچي، بلڪِ هڪ انسان جي زبان مان ان جو اعلان ڪرائيندو آهي. اِهو انسان ان وقت بظاهر هڪ معمولي انسان هوندو آهي، پر ان جي ڪلام ۾ خدا جون واضح جهلڪيون هونديون آهن. جيڪڏهن ماڻهو ان کي اُن جي ڪلام جي لحاظ کان

ڏسن ته هو ان جي عظمتن ۾ خدا کي ڳولهي وٺن. پر ماڻهن جي سطحي سوچ ۽ ظاهر پرستي جي ڪري سندن نظرون ٻڌائڻ واري جي معمولي حيثيت ۾ اٽڪي ويندي آهن. پيغام پهچائڻ واري جو معمولي هجڻ انهن کي نظر ايندو آهي، پر پيغام جو غير معمولي هجڻ انهن کي نظر نه ٿو اچي. تنهن ڪري هو ان کي هڪ عام انسان جو معاملو سمجهي ان جي مذاق اڏائيندا آهن. ان جي ڳالهه تي ڪوڙا اعتراض ڪندا آهن ۽ ان کي اِهڙي طرح نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن ڄڻ ته ان جي ڪا اهميت ئي نه آهي.

اُن ظالماڻي رويي جو اصل سبب بي خوفي جي نفسيات آهي. ماڻهن کي آخرت تي يقين نه آهي. سندن دلين ۾ قهار ۽ جبار خدا جو خوف نه آهي. ان ڪري اُهي اُن پيغام جي باري ۾ سنجيده نه ٿي سگهندا آهن ۽ جنهن معاملي ۾ ماڻهو سنجيده نه هجي ته هُو ان جي متعلق صحيح رد عمل پيش ڪرڻ ۾ هميشه ناڪام رهي ٿو.

پر ماڻهن جي اِها غير سنجيدگي ان وقت گم ٿي ويندي، جڏهن هو قيامت ۾ مالڪِ ڪائنات جي سامهون بيهندا. ان وقت سندن موجوده آزادي ڪسجي چڪي هوندي. جن سببن ۽ وسيلن جي ڀروسي تي اُهي سرڪش بڻيل هئا، اُهي خدا جا ٽيپ رڪارڊر بڻجي انهن جي خلاف شاهدي ڏيڻ لڳندا. ان وقت نظر اچي ويندو ته جڏهن خدا جي داعي کي انهن ڪوڙو ڄاتو هو ته ان جو سبب اِهو نه هو جو اُهي ان کي سمجهڻ کان عاجز هئا. ان جو سبب اِهو هُو جو اُهي ان جي باري ۾ سنجيده نه هئا. قيامت جي دهشت اچانڪ انهن کي سنجيده بڻائي ڇڏيندي. ان وقت پنهنجي بي وسي جي ماحول ۾ اُهي ان ڳالهه کي پوري طرح سمجهي ويندا، جنهن کي دنيا ۾ پنهنجي آزادي جي ماحول ۾ سمجهي نه سگهيا.

الله انسان کي اهڙيون اعليٰ صلاحيتون ڏنيون آهن ته جيڪڏهن هو انهن کي استعمال ڪري ته هو هر ڳالهه کي ان جي گهرائي تائين سمجهي سگهي ٿو ۽ حقيقت ۾ ماڻهو دنياوي معاملن ۾ ايئن ئي ڪندو آهي. پر آخرت جي معاملي ۾ ماڻهو جو حال اِهو آهي جو هُو ڪن هوندي ٻوڙو بڻجي ويندو آهي ۽ اکيون هوندي انڌپڻ جو ثبوت ڏيندو آهي.

ماڻهو جي ڪاميابي ان جي سنجيدگي (sincerity) جي قيمت آهي. جيڪي ماڻهو دنيا جي معاملي ۾ سنجيده هجن، اُهي دنيا ۾ ڪامياب رهندا آهن. اِهڙي طرح جيڪي ماڻهو آخرت جي معاملي ۾ سنجيده هجن، اُهي آخرت ۾ ڪامياب رهندا.

اِنَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَ اَخۡبَتُوۡۤا اِلٰى رَبِّهِمۡ ۙ اُولٰٓئِكَ اَصۡحٰبُ الۡجَنَّةِ ۚ هُمۡ
فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿۲۳﴾ مَثَلُ الۡفَرِيۡقَيۡنِ كَالۡاَعۡمٰى وَ الۡاَصَمِّ وَ الۡبَصِيۡرِ وَ السَّمِيۡعِ ؕ هَلۡ
ع۲ يَسۡتَوِيٰنِ مَثَلًا ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوۡنَ ﴿۲۴﴾

جن ماڻهن ايمان آندو ۽ جن نيڪ عمل ڪيا ۽ پنهنجي رب جي سامهون عاجزي ڪئي، اُهي ئي ماڻهو جنت وارا آهن، اُهي ان ۾ هميشه رهندا. انهن ٻنهي ڌرين جو مثال ايئن آهي جيئن هڪ انڌو ۽ ٻوڙو هجي ۽ ٻيو ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ هجي. ڇا اِهي ٻئي برابر ٿي سگهن ٿا. ڇا توهان غور نه ٿا ڪريو. ۲۳-۲۴

---

اخبات جي معنيٰ عاجزي ڪرڻ آهي. عربي ۾ چوندا آهن هو خبيث القلب آهي (هو دل شڪسته

آهي). اِهوئي ايمان جو خلاصو آهي. ايمان نہ ڪا وراثت آهي ۽ نہ ڪنهن لفظي مجموعي جي زبان سان ادائگي. ايمان هڪ دريافت آهي. ماڻهو جڏهن پنهنجي ٻڌڻ ۽ ڏسڻ (ٻين لفظن ۾ شعور) کي استعمال ڪري خدا کي لهندو آهي ۽ ان جي مقابلي ۾ پنهنجي حيثيت جو ادراڪ ڪندو آهي تہ ان وقت ان تي جيڪا ڪيفيت طاري ٿيندي آهي، ان جو نالو ئي عجز (اخبات) آهي، عجز خدا جي مقابلي ۾ پنهنجي حقيقي حيثيت کي سڃاڻ جو لازمي نتيجو آهي.

ايمان، اخبات ۽ صالح عمل ٽئي هڪ ئي حقيقت جا مختلف پهلو آهن. ايمان خدا جي وجود ۽ سندس ڪمال صفتن جي شعوري دريافت آهي. اخبات (عاجزي) ان قلبي حالت جو نالو آهي جيڪا خدا جي دريافت جي نتيجي ۾ لازمي طور تي ماڻهو جي اندر پيدا ٿيندي آهي. صالح عمل ان ئي شعور ۽ اِن ئي ڪيفيت کان پيدا ٿيڻ واري ظاهري صورت آهي. ماڻهو جڏهن گهرائي سان سوچيندو آهي تڏهن اُن جي دل خدائي ڪيفيتن سان ڀرجي ويندي آهي تہ اُن وقت فطري طور تي سندس ظاهري زندگي خدائي عمل ۾ بدلجي ويندي آهي. اُن جو نالو ئي صالح عمل آهي. جيڪو ماڻهو ايمان، عاجزي ۽ صالح عمل جو نمونو بڻجي وڃي، اُهو ئي خدا جو مطلوب انسان آهي ۽ اُهوئي اُهو انسان آهي جنهن کي جنت جي ابدي باغن ۾ آباد ڪيو ويندو.

دنيا ۾ اعليٰ ترين امتحاني حالتون پيدا ڪري اِهو ڏٺو پيو وڃي تہ ڪير پنهنجي پاڻ کي کهڙو ٿو ثابت ڪري. هڪ گروهہ اُهو آهي جنهن پنهنجي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ (شعور) کي صحيح طور تي استعمال ڪري حقيقت کي سمجهيو ۽ پنهنجي پاڻ کي اُن جي مطابق بدلائي ورتو آهي، اُهي ئي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ وارا ماڻهو آهن. ٻيو گروهہ اُهو آهي، جنهن پنهنجي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ کي صحيح طور تي استعمال نہ ڪيو. اُن کي نہ حق جي معرفت حاصل ٿي ۽ نہ هو پنهنجي پاڻ کي اُن جي مطابق بدلائي سگهيو. اُهي انڌا ۽ ٻوڙا ماڻهو آهن. ظاهر آهي تہ اِهي ٻئي بلڪل مختلف قسم جا انسان آهن ۽ ٻن مختلف انسانن جو انجام هڪ جهڙو نہ ٿو ٿي سگهي.

وَ لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖۤ اِنِّیْ لَكُمْ نَذِیْرٌ مُّبِیْنٌ ﴿۲۵﴾ اَنْ لَّا تَعْبُدُوْۤا اِلَّا اللّٰهَ ؕ اِنِّیْۤ اَخَافُ عَلَیْكُمْ عَذَابَ یَوْمٍ اَلِیْمٍ ﴿۲۶﴾ فَقَالَ الْمَلَاُ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ مَا نَرٰىكَ اِلَّا بَشَرًا مِّثْلَنَا وَ مَا نَرٰىكَ اتَّبَعَكَ اِلَّا الَّذِیْنَ هُمْ اَرَاذِلُنَا بَادِیَ الرَّاْیِ ۚ وَ مَا نَرٰى لَكُمْ عَلَیْنَا مِنْ فَضْلٍۭ بَلْ نَظُنُّكُمْ كٰذِبِیْنَ ﴿۲۷﴾

۽ اسان نوح کي ان جي قوم ڏانهن موڪليو تہ آئون توهان کي پڌرو ڊيڄارڻ وارو آهيان. تہ توهان الله کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪريو. آئون توهان تي هڪ دردناڪ عذاب جي ڏينهن جو انديشو رکندو آهيان. ان جي قوم جي سردارن چيو، جن انڪار ڪيو هو تہ اسان تہ توکي رڳو پاڻ جهڙو هڪ ماڻهو ڏسون ٿا ۽ اسان نہ ٿا ڏسون تہ ڪو تنهنجو تابعدار آهي سواءِ انهن جي جيڪي اسان مان گهٽ درجي وارا ۽ بي سمجھ ماڻهو آهن ۽ اسان نہ ٿا ڏسون تہ توهان کي اسان تي ڪا وڏائي حاصل هجي، بلڪ اسان تہ توهان کي ڪوڙو خيال ڪندا آهيون. ٢٥-٢٧

خدا جا جيترا پيغمبر آيا اُن لاءِ آيا تہ هو انسان کي خدا جي تخليقي منصوبي کان آگاهہ ڪن. اِهو منصوبو اِهو آهي تہ موجوده دنيا ۾ انسان کي امتحان جي لاءِ اُماڻيو ويو آهي، جيئن تہ هِتي مختلف شين جي عبادت جا موقعا موجود آهن. پر اصل ۾ صرف اِهو ڳهربل آهي تہ انسان خدا جو ٻانهو بڻجي. جيڪي ماڻهو خدا جا ٻانها نہ بڻجي سگهن، اُهي امتحان ۾ ناڪام ٿي ويا. اِهڙن ماڻهن جي لاءِ مرڻ ڪانپوءِ واري زندگي ۾ سخت عذاب آهي. حضرت نوح عليه السلام پنهنجي قوم جي ماڻهن کي اِهائي ڳالهہ چئي. هو انهن جي لاءِ پڌرو ڊيڄارڻ وارا بڻجي ويو، پر سندس قوم سندس ڳالهہ نہ مڃي.

ان جو سبب ماڻهن جي ظاهر پرستي هئي. انسان جي گمراهي جا نظرياتي طور تي ڪيترا ئي قسم آهن. پر حقيقت جي لحاظ کان هر دؤر جي انسانن جي گمراهي رڳو هڪ رهي آهي ۽ اُها آهي ظاهر پرستي يا دنيا پسندي. دنيا پرست ماڻهو عين پنهنجي مزاج جي مطابق دنياوي شين کي حق ۽ ناحق جو معيار سمجهندا آهن. هو شعوري يا غير شعوري طور تي اهو فرض ڪري وٺندا آهن تہ جنهن وٽ ظاهري رونقون هجن، اُهوحق تي آهي ۽ جيڪو دنيا جي رونقن کان محروم هجي اُهو ناحق تي.

خدا جو داعي جڏهن اٿندو آهي تہ پنهنجي زماني ۾ ماڻهن کي هو رڳو انسانن مان هڪ انسان نظر ايندو آهي. دنياوي لحاظ کان ان جي چؤطرف وڏائيءَ جي ڪا خاص نشاني نہ هوندي آهي. ٻئي طرف اِهو ڏٺو ويندو آهي تہ هو جنهن دين جو علمبردار هوندو آهي، اُن سان اڄا تائين دنياوي فائدا وابستہ نہ هوندا آهن، ان ڪري ان ڏانهن وڌڻ وارا گهڻو ڪري خالي هٿين ماڻهو هوندا آهن جن کي هڪ ”نئين دين“ کي اختيار ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڪجهہ وڃائڻو نہ ٿو پوي. اِها صورتحال خاص طور تي وقت جي وڏن جي لاءِ فتنو بڻجي ويندي آهي. هو سمجهي ٿا وٺن تہ جڏهن دنيا انهن سان گڏ نہ آهي تہ حق بہ انهن سان گڏ نہ ٿو ٿي سگهي. ايستائين جو قوم ۾ اِهڙا ماڻهو بہ هوندا آهن جو انهن کي ڪوڙو ۽ دوکي باز چوڻ کان بہ نٿا مُڙن.

قَالَ يٰقَوۡمِ اَرَءَيۡتُمۡ اِنۡ كُنۡتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنۡ رَّبِّىۡ وَ اٰتٰٮنِىۡ رَحۡمَةً مِّنۡ عِنۡدِهٖ فَعُمِّيَتۡ
عَلَيۡكُمۡ ؕ اَنُلۡزِمُكُمُوۡهَا وَ اَنۡتُمۡ لَهَا كٰرِهُوۡنَ ﴿۲۸﴾ وَ يٰقَوۡمِ لَاۤ اَسۡـَٔلُكُمۡ عَلَيۡهِ مَالًا ؕ اِنۡ
اَجۡرِىَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ وَ مَاۤ اَنَا بِطَارِدِ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا ؕ اِنَّهُمۡ مُّلٰقُوۡا رَبِّهِمۡ وَ لٰكِنِّىۡۤ اَرٰٮكُمۡ
قَوۡمًا تَجۡهَلُوۡنَ ﴿۲۹﴾ وَ يٰقَوۡمِ مَنۡ يَّنۡصُرُنِىۡ مِنَ اللّٰهِ اِنۡ طَرَدۡتُّهُمۡ ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوۡنَ ﴿۳۰﴾ وَ لَاۤ
اَقُوۡلُ لَـكُمۡ عِنۡدِىۡ خَزَآٮِٕنُ اللّٰهِ وَ لَاۤ اَعۡلَمُ الۡغَيۡبَ وَ لَاۤ اَقُوۡلُ اِنِّىۡ مَلَكٌ وَّ لَاۤ اَقُوۡلُ
لِلَّذِيۡنَ تَزۡدَرِىۡۤ اَعۡيُنُكُمۡ لَنۡ يُّؤۡتِيَهُمُ اللّٰهُ خَيۡرًا ؕ اَللّٰهُ اَعۡلَمُ بِمَا فِىۡۤ اَنۡفُسِهِمۡ ۖۚ اِنِّىۡۤ اِذًا
لَّمِنَ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۳۱﴾

نوح چيو اي منهنجي قوم! ٻڌايو جيڪڏهن آئون پنهنجي رب طرفان هڪ روشن دليل تي آهيان ۽ ان مون تي پاڻ وٽان رحمت بہ موڪلي آهي، پر اُها توهان کي نظر نہ ٿي اچي تہ ڇا اسان ان کي توهان تي زوري

مڙهينداسون. جڏهن تہ توهان ان کان بيزار آهيو. ۽ اي منهنجي قوم! آئون اُن تي توهان کان ڪجھ مال نہ ٿو گھران. منهنجو اجر تہ بس الله جي ذمي آهي ۽ آئون هرگز انهن کي پاڻ کان پري ڪرڻ وارو نہ آهيان جن ايمان آندو آهي. انهن ماڻهن کي پنهنجي رب سان ملڻو آهي. پر آئون ڏسان ٿو تہ توهان ماڻهو جهالت ۾ مبتلا آهيو. ۽ اي منهنجي قوم! جيڪڏهن آئون انهن ماڻهن کي تڙي ڇڏيان تہ خدا جي مقابلي ۾ ڪير منهنجي مدد ڪندو. ڇا توهان غور نہ ٿا ڪريو. ۽ آئون توهان کي نہ ٿو چوان تہ مون وٽ الله جا خزانا آهن ۽ نہ آئون غيب جي خبر رکان ٿو. ۽ نہ اِهو چوان ٿو تہ آئون فرشتو آهيان. ۽ آئون اِهو بہ نہ ٿو چئي سگھان تہ جيڪي ماڻهو توهان جي نظر ۾ حقير آهن انهن کي الله ڪا ڀلائي عطا نہ ڪندو. الله خوب ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجھ سندن دلين ۾ آهي. جيڪڏهن آئون ايئن چوان تہ آئون ظالمن مان ٿي پوندس. ٢٨-٣١

---

هِتي ”بينه“ مان مراد دليل آهي ۽ رحمت مان مراد نبوت آهي (تفسير النسفي). ان مان معلوم ٿيو تہ جڏهن پيغمبر ڪنهن قوم کي دعوت ڏيندو آهي تہ هو ٻن شين جي بنياد تي ايئن ڪندو آهي، هڪ دليل ۽ ٻي نبوت. پيغمبر کان پوءِ ڪو داعي بہ ان ئي وقت داعي آهي جڏهن تہ هو بہ انهن ٻنهي شين کي بنياد بڻائي. دليل ڪانپوءِ جيڪا ٻي شيءِ ان وٽ هوندي اُها پيغمبر جي واسطي سان مليل هوندي. جڏهن تہ پيغمبر وٽ اُها براهِ راست خدا جي طرفان ايندي آهي.

قوم جنهن وقت خدا جي داعي کي اِهو سمجھي نظرانداز ڪري ڇڏيندي آهي تہ اُن وٽ ظاهري لحاظ کان ڪا قابل لحاظ شيءِ نہ آهي عين ان ئي وقت ان وٽ هڪ تمام وڏي قابل لحاظ شيءِ موجود هوندي آهي ۽ اُهو دليل ۽ هدايت آهي. اُهو دليل ۽ هدايت جي وڏائي ڪامل طور تي خدا جي داعي وٽ موجود هوندي آهي. پر اِها معنوي وڏائي آهي ۽ جن ماڻهن جون نظرون ظاهري شين ۾ اٽڪيل هجن، انهن کي معنوي وڏائي ڪيئن ڏسڻ ۾ ايندي.

دعوت اِلي الله جو ڪم خالص آخرت جو ڪم آهي. ان کي صحيح طرح ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهي تہ داعي ۽ مدعو جي وچ ۾ زر ۽ زمين جو جهيڙو نہ هجي. اِها ذميداري خود داعي کي کڻڻي پوندي آهي تہ اُن جي ۽ مدعو جي وچ ۾ معتدل فضا هجي ۽ ان جي خاطر هو هر قسم جا مادي ۽ معاشي جهيڙا پنهنجي طرفان ختم ڪري ڇڏي. جنهن داعي جو اِهو حال هجي جو هو هڪ پاسي دعوت ڏي ۽ ٻئي طرف مدعو سان دنياوي شين جي لاءِ احتجاج ۽ مطالبو بہ ڪري رهيو هجي، اُهو داعي نہ آهي بلڪ مسخرو آهي. ان جي ڪا قيمت نہ مدعو جي نظر ۾ ٿي سگھي ٿي ۽ نہ خدا جي نظر ۾.

مدعو جو امتحان اهو آهي تہ هُو بظاهر هڪ بي عظمت انسان جي اندر حق جي عظمت کي ڏسي وٺي. اهڙي طرح داعي جو امتحان اِهو آهي جو هُو ڪنهن بي دين جو استقبال ان ڪري نہ ڪرڻ لڳي جو هو مال ۽ عزت جو مالڪ آهي ۽ ڪنهن ديندار کي اُن ڪري لحاظ جي قابل نہ سمجھي وٺي جو ان وٽ دنياوي شان ۽ شوڪت جون شيون موجود نہ آهن. داعي جيڪڏهن ايئن ڪندو تہ ان جو مطلب اِهو ٿيندو جو هو زبان سان آخرت جي اهميت جو واعظ ڪري رهيو آهي ۽ عمل سان دنيا جي اهميت جو ثبوت ڏئي رهيو آهي. ظاهر آهي تہ اِها پنهنجي ترديد پاڻ آهي ۽ جيڪو ماڻهو پنهنجي ترديد پاڻ ڪري تہ ان جي ڳالھ جي قيمت ٻين جي نظر ۾ ڪهڙي ٿي سگھي ٿي.

قَالُوۡا يٰنُوۡحُ قَدۡ جٰدَلۡتَنَا فَاَكۡثَرۡتَ جِدَالَنَا فَاۡتِنَا بِمَا تَعِدُنَاۤ اِنۡ كُنۡتَ مِنَ الصّٰدِقِيۡنَ ﴿٣٢﴾
قَالَ اِنَّمَا يَاۡتِيۡكُمۡ بِهِ اللّٰهُ اِنۡ شَآءَ وَمَاۤ اَنۡتُمۡ بِمُعۡجِزِيۡنَ ﴿٣٣﴾ وَلَا يَنۡفَعُكُمۡ نُصۡحِىۡۤ اِنۡ اَرَدْتُّ
اَنۡ اَنۡصَحَ لَكُمۡ اِنۡ كَانَ اللّٰهُ يُرِيۡدُ اَنۡ يُّغۡوِيَكُمۡ ؕ هُوَ رَبُّكُمۡ ۟ وَاِلَيۡهِ تُرۡجَعُوۡنَ ﴿٣٤﴾

انهن چيو تہ اي نوح! تو اسان سان جهڳڙو ڪيو ۽ گهڻو جهڳڙو ڪيو. هاڻي اُها شيءِ آڻ جنهن جو تون اسان سان وعدو ڪندو رهيو آهين، جيڪڏهن تون سچو آهين. نوح چيو اُن کي تہ توهان تي الله ئي آڻيندو جڏهن چاهيندو ۽ توهان اُن جي قابو کان ٻاهر نہ وڃي سگهندو. ۽ منهنجي نصيحت توهان کي فائدو نہ ڏيندي، جيڪڏهن آئون توهان کي نصيحت ڪرڻ چاهيان جڏهن تہ الله اِهو چاهي جو هو توهان کي گمراهہ ڪري. اُهو ئي توهان جو رب آهي ۽ اُن ڏانهن ئي توهان کي موٽي وڃڻو آهي. ٣٢-٣٤

---

حضرت نوح پنهنجي قوم سان جدال (جهيڙو ۽ مناظرو) نہ ڪيو هو. هو سنجيده انداز ۾ اصلاح جو پيغام انهن جي سامهون پيش ڪري رهيا هئا. پر پاڻ عليه السلام جي سنجيده دعوت پاڻ عليه السلام جي قوم کي ابتي صورت ۾ نظر اچي رهي هئي. اُن جي وجهہ انسان جي اِها ڪمزوري آهي تہ جڏهن اُن جي پنهنجي ذات نشاني تي اچي رهي هجي تہ هو سنجيدگي وڃائي ڇڏيندو آهي. اهڙي ڳالهہ کي هو دليل ۽ ثبوت جي لحاظ کان نہ ڏسندو آهي. هو بغير سوچي سمجهي اُن کي رد ڪري ڇڏيندو آهي. حق جي داعي جو مضبوط دليل بہ اُن کي بحث ۽ جهيڙو معلوم ٿيڻ لڳندو آهي.

”گهڻو جهيڙو ڪيو“ جو جملو اصل ۾ ٻڌائڻ جي لاءِ نہ آهي جو نوح ڇا چيو هو، بلڪ اُهو اِهو ٻڌائي ٿو تہ ٻڌڻ وارن پاڻ عليه السلام جي ڳالهہ کي ڪهڙو درجو ڏنو هو.

اهڙي طرح نوح جي مخالفن جو عذاب گهرڻ حقيقت ۾ عذاب گهرڻ نہ هو، بلڪ حضرت نوح عليه السلام جو مذاق اُڏائڻ هو تہ ڏسو هي ماڻهو اهڙي ڳالهہ چئي رهيو آهي جيڪا ڪڏهن بہ ٿيڻ واري نہ آهي. اُهي پنهنجي پوزيشن کي ايترو مستحڪم سمجهندا هئا، جنهن ۾ سندن خيال مطابق عذاب اچڻ جي گنجائش ئي نہ هئي. ان ئي ذهن جي تحت انهن چيو تہ اسان جي انڪار جي سزا ۾ جنهن عذاب جي خبر تون ڏيندو رهيو آهين اُهو آڻ ۽ چاڪاڻ تہ انهن جي خيال ۾ اهڙو عذاب ڪڏهن بہ اچڻ وارو نہ هو. اصل ۾ انهن جي چوڻ جو مطلب اِهو هو تہ اسان حق تي آهيون ۽ تون ناحق تي.

حضرت نوح جواب ڏنو تہ توهان معاملي کي منهنجي نسبت سان ڏسي رهيا آهيو جيئن تہ آئون ڪمزور آهيان، اُن ڪري توهان جي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ هي عذاب بہ توهان تي اچي سگهي ٿو. جيڪڏهن معاملي کي خدا جي نسبت سان ڏسو ها تہ توهان ايئن نہ چئو ها. چاڪاڻ تہ پوءِ توهان کي نظر اچي وڃي ها تہ هن دنيا ۾ ظالمن جي لاءِ عذاب جو اچڻ ايترو ئي يقيني آهي جيترو سج جو نڪرڻ ۽ زلزلي جو اچڻ.

حق جي داعي جي ڳالهہ کي مڃڻ جو سڄو مدار اُن تي آهي جو ٻڌڻ وارو اُن کي چوڻ واري جي لحاظ کان نہ ڏسي، بلڪ جيڪو چيو ويو آهي اُن جي لحاظ کان ڏسي، چاڪاڻ حضرت نوح عليه السلام جي قوم پاڻ عليه السلام کي صرف هڪ عام انسان جي ڳالهہ سمجهي رهي هئي. اُن ڪري پاڻ عليه السلام فرمايو تہ اُن ذهن جي تحت توهان منهنجي ڳالهہ جي قدر ۽ قيمت ڪڏهن نٿا سمجهي سگهو. هاڻي توهان کي ان ڏينهن جو انتظار ڪرڻو آهي جڏهن خدا توهان جي روبرو اچي وڃي.

ع ١١/٣ اَمۡ يَقُوۡلُوۡنَ افۡتَرٰىهُ ؕ قُلۡ اِنِ افۡتَرَيۡتُهٗ فَعَلَىَّ اِجۡرَامِىۡ وَاَنَا بَرِىۡٓءٌ مِّمَّا تُجۡرِمُوۡنَ ۝٣٥

ڇا اُهي چوندا آهن تہ (پيغمبر) هِن کي گهڙيو ورتو آهي. چئو تہ جيڪڏهن مون اُن کي گهڙيو آهي تہ منهنجو ڏوهہ مون تي آهي ۽ جيڪو ڏوهہ توهان ڪري رهيا آهيو ان کان آئون بَري آهيان. ٣٥

---

جيڪي ماڻهو چوندا هئا تہ پيغمبر اهو ڪلام پاڻ گهڙي ورتو آهي، اِهو خدا جي طرفان نہ آهي، اُهي وحي ۽ الهام جا منڪر نہ هئا، ايستائين جو اُهي ماضي جي رسولن کي مڃيندا هئا. پوءِ انهن ايئن چو چيو. اهو اصل ۾ وحي جو انڪار نہ هو، بلڪِ صاحب وحي جو انڪار هو. جيڪو ماڻهو خدا جي طرفان ڳالهائي رهيو هو، اُهو ڏسڻ ۾ انهن کي هڪ معمولي انسان نظر ٿي آيو. سندن ظاهر پرستي وارو مزاج سمجهي نہ پيو سگهي تہ اِهڙو هڪ ماڻهو اُهو شخص ڪيئن ٿي سگهي ٿو جنهن کي خدا پنهنجي پيغام جي پيغمبري جي لاءِ چونڊيو هجي.

”منهنجو جرم منهنجي مٿان، توهان جو جرم توهان جي مٿان“. اهو اصل ۾ رُخصت جو ڪلمو آهي. جڏهن مخاطب دليل سان ڳالهہ کي نہ ٿو مڃي ۽ هر قسم جي وضاحت جي باوجود هُو انڪار تي ڄمي ٿو رهي تہ داعي محسوس ڪندو آهي تہ ان وٽ هاڻي ٻيو ڪو چارو نہ آهي، پر صرف اِهو جو هُو اِهو چئي خاموش ٿي وڃي تہ آئون ۽ توهان اصلي حاڪم جي سامهون پيش ٿيڻ وارا آهيو. هُتي هر هڪ جو حال پڌرو ٿي ويندو ۽ هر ماڻهو پنهنجي حقيقت جي لحاظ کان جهڙو هو، ان جي مطابق ان کي بدلو ڏنو ويندو. جڏهن دليل جي حد ختم ٿي وڃي تہ داعي جي لاءِ ان کانسواءِ ڪا صورت باقي نہ ٿي رهي جو هو يقين جي زبان ۾ ڪلام ڪري ۽ عليحدگي اختيار ڪري وٺي.

وَ اُوۡحِىَ اِلٰى نُوۡحٍ اَنَّهٗ لَنۡ يُّؤۡمِنَ مِنۡ قَوۡمِكَ اِلَّا مَنۡ قَدۡ اٰمَنَ فَلَا تَبۡتَئِسۡ بِمَا كَانُوۡا
يَفۡعَلُوۡنَ ۝٣٦ ۚۖ وَ اصۡنَعِ الۡفُلۡكَ بِاَعۡيُنِنَا وَ وَحۡيِنَا وَ لَا تُخَاطِبۡنِىۡ فِى الَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا ۚ اِنَّهُمۡ
مُّغۡرَقُوۡنَ ۝٣٧ وَ يَصۡنَعُ الۡفُلۡكَ ۟ وَ كُلَّمَا مَرَّ عَلَيۡهِ مَلَاٌ مِّنۡ قَوۡمِهٖ سَخِرُوۡا مِنۡهُ ؕ قَالَ اِنۡ
تَسۡخَرُوۡا مِنَّا فَاِنَّا نَسۡخَرُ مِنۡكُمۡ كَمَا تَسۡخَرُوۡنَ ۝٣٨ ؕ فَسَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ ۙ مَنۡ يَّاۡتِيۡهِ عَذَابٌ
يُّخۡزِيۡهِ وَ يَحِلُّ عَلَيۡهِ عَذَابٌ مُّقِيۡمٌ ۝٣٩

۽ نوح ڏانهن وحي ڪيو ويو تہ هاڻي تنهنجي قوم مان ڪو ايمان نہ آڻيندو، سواءِ انهن جي جيڪي ايمان آڻي چڪا. تنهن ڪري تون انهن ڪمن تي غم نہ ڪر جيڪي هو ڪري رهيا آهن. ۽ اسان جي روبرو ۽ اسان جي حڪم سان تون ٻيڙي ٺاهہ ۽ ظالمن جي حق ۾ مون سان ڳالهہ نہ ڪجانءِ، بيشڪ اِهي ماڻهو غرق ٿيندا. ۽ نوح ٻيڙي ٺاهڻ لڳو. ۽ جڏهن سندس قوم جو ڪو سردار اُتان لنگهندو هو تہ هُو مٿس ٺٺوليون ڪندو هو، هُن (نوح) چيو تہ جيڪڏهن توهان اسان تي ٺٺوليون ڪيو ٿا تہ اسان بہ توهان تي ٺٺوليون ڪنداسون. توهان جلد ئي ڄاڻي وٺندو تہ اُهي ڪير آهن جن تي اُهو عذاب اچي، جيڪو انهن کي رسوا ڪري ڇڏي ۽ انهن تي اُهو عذاب اچي جيڪو هميشہ لاءِ آهي.٣٦-٣٩

---

انسان ڪان جيڪو ايمان گهربل آهي، اُهو ايمان اُهو آهي جڏهن ماڻهو شعوري طور پنهنجي

مرضي سان ايمان قبول ڪري. پيغمبر جي ڏکھي دعوتي عمل جي باوجود جيڪي ماڻھو ايمان نہ آڻين، اُھي اِھو ثابت ڪندا آھن تہ اُھي آزاداڻي فيصلي جي تحت خدا جا مؤمن بڻجڻ لاءِ تيار نہ آھن. اھڙن ماڻھن جي لاءِ ٻيو مرحلو اِھو ھوندو آھي تہ سندن آزادي کسي ونجي ۽ انهن کي خداءِ ذوالجلال جي سامھون بيھاري ڇڏجي تہ جيئن جنھن شيءِ جو اُنھن مؤمن بڻجي اقرار نہ ڪيو ھو، اُن جو ھُو مجرم بڻجي اقرار ڪن ۽ پنھنجي سرڪشي جي سزا ڀوڳين.

حضرت نوح عليه السلام جي سَوَن سالن جي تبليغ کان پوءِ سندن قوم جي لاءِ اُھو وقت اچي ويو ھو جو اُن کانپوءِ حضرت نوح عليه السلام کي چيو ويو تہ ھاڻي تبليغ جي ڪم کان فارغ ٿي ٻيڙي تيار ڪريو تہ جيئن جڏھن سرڪشن کي غرق ڪرڻ جي لاءِ خدا جو سيلاب اچي تہ ان وقت توھان ۽ توھان جا ساٿي اُن ۾ پناھ وٺي سگھن.

حضرت نوح عليه السلام ھڪ تمام وڏي ٽن منزلن واري ٻيڙي تيار ڪئي. ان کي ٺاھڻ ۾ ڪيترائي سال لڳي ويا. جنھن زماني ۾ حضرت نوح عليه السلام پنھنجي ڪجھ ساٿين سان گڏ ٻيڙي ٺاھي رھيا ھئا تہ قوم جا سرڪش ماڻھو ايندي ويندي ان کي ڏسندا ھئا، ڇاڪاڻ تہ اُھي ماڻھو عذاب جي ڳالھ کي رڳو ھڪ فرضي ڳالھ سمجھي رھيا ھئا. ان ڪري جڏھن انھن ڏٺو تہ اچڻ واري فرض ڪيل عذاب کان بچڻ جي لاءِ ٻيڙي بہ تيار ڪئي پئي وڃي تہ ھُو حضرت نوح عليه السلام جو اچا بہ وڌيڪ مذاق اڏائڻ لڳا.

ھڪ ماڻھو سرڪشي ۽ نا انصافي جي ذريعي دولت گڏ ڪري رھيو ھجي تہ ظاھر پرست ماڻھو ان جي چوطرف دنيا جو سازو سامان ڏسي ان کي ڪامياب سمجھي وٺندا آھن. پر جيڪو ماڻھو ڄاڻي ٿو تہ دنيا جو نظام اخلاقي قانون تي ھلي رھيو آھي، ھو مٿي ذڪر ڪيل ماڻھو جي وقتي ڪاميابي ۾ مستقبل جي عظيم تباھي جو منظر ڏسي رھيو ھوندو. نوح جي قوم جا ظاھر پرست ماڻھو جيتوڻيڪ حضرت نوح عليه السلام جو مذاق اڏائي رھيا ھئا، پر حقيقت ۾ سندن مذاق اُڏايو پئي ويو.

حَتّٰۤى اِذَا جَآءَ اَمۡرُنَا وَ فَارَ التَّنُّوۡرُ ۙ قُلۡنَا احۡمِلۡ فِيۡهَا مِنۡ كُلٍّ زَوۡجَيۡنِ اثۡنَيۡنِ وَ اَهۡلَكَ اِلَّا
مَنۡ سَبَقَ عَلَيۡهِ الۡقَوۡلُ وَ مَنۡ اٰمَنَ ؕ وَ مَاۤ اٰمَنَ مَعَهٗۤ اِلَّا قَلِيۡلٌ ﴿۴۰﴾ وَ قَالَ ارۡكَبُوۡا فِيۡهَا
بِسۡمِ اللّٰهِ مَجۡرٖٮهَا وَ مُرۡسٰٮهَا ؕ اِنَّ رَبِّىۡ لَغَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۴۱﴾ وَ هِىَ تَجۡرِىۡ بِهِمۡ فِىۡ مَوۡجٍ
كَالۡجِبَالِ ۚ وَ نَادٰى نُوۡحُ ۨابۡنَهٗ وَ كَانَ فِىۡ مَعۡزِلٍ يّٰبُنَىَّ ارۡكَبْ مَّعَنَا وَ لَا تَكُنۡ مَّعَ
الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۴۲﴾ قَالَ سَاٰوِىۡۤ اِلٰى جَبَلٍ يَّعۡصِمُنِىۡ مِنَ الۡمَآءِ ؕ قَالَ لَا عَاصِمَ الۡيَوۡمَ مِنۡ اَمۡرِ
اللّٰهِ اِلَّا مَنۡ رَّحِمَ ۚ وَ حَالَ بَيۡنَهُمَا الۡمَوۡجُ فَكَانَ مِنَ الۡمُغۡرَقِيۡنَ ﴿۴۳﴾ وَ قِيۡلَ يٰۤاَرۡضُ ابۡلَعِىۡ
مَآءَكِ وَ يٰسَمَآءُ اَقۡلِعِىۡ وَ غِيۡضَ الۡمَآءُ وَ قُضِىَ الۡاَمۡرُ وَ اسۡتَوَتۡ عَلَى الۡجُوۡدِىِّ وَ قِيۡلَ
بُعۡدًا لِّلۡقَوۡمِ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۴۴﴾

قرء حفص بفتح الميم واماله الراء ١٢

ايستائين جو اسان جو حڪم اچي ويو ۽ طوفان اٿلي پيو، اسان نوح کي چيو تہ ھر قسم جي جانورن جو ھڪ جوڙو ٻيڙي ۾ چاڙھ ۽ پنھنجي گھر وارن کي بہ سواءِ انھن ماڻھن جي جن بابت پھرين چيو ويو ھو ۽ سڀني ايمان

وارن ڪي بہ. ۽ ٿورن ئي ماڻهن نوح سان گڏ ايمان آندو هو. ۽ نوح چيو تہ ٻيڙي ۾ سوار ٿي وڃو. الله جي نالي سان اُن جو هلڻ آهي ۽ اُن جو بيهڻ بہ. بيشڪ منهنجو رب بخشڻ وارو مهربان آهي. ۽ ٻيڙي جبلن جيڏين لهرن جي وچ ۾ کين کڻي هلڻ لڳي. ۽ نوح پنهنجي پٽ کي سڏيو جيڪو ان کان الڳ هو. اي منهنجا پٽ! اسان سان گڏ سوار ٿي وڃ ۽ ڪافرن سان گڏ نہ ٿيءُ. اُن چيو آئون ڪنهن جبل جي پناهہ وٺي ڇڏيندس جيڪو مون کي پاڻي کان بچائي وٺندو. نوح چيو تہ اڄ ڪير بہ الله جي حڪم کان بچائڻ وارو نہ آهي، سواءِ ان جي جنهن تي الله رحم ڪري ۽ ٻنهي جي وچ ۾ لهر اچي ويئي ۽ هو ٻڏڻ وارن ۾ شامل ٿي ويو. ۽ چيو ويو تہ اي زمين پنهنجو پاڻي ڳهي وڃ ۽ اي آسمان بس ڪر. ۽ پاڻي سڪايو ويو ۽ معاملي جو فيصلو ٿي ويو ۽ ٻيڙي جودي جبل تي بيهي رهي ۽ چيو ويو تہ ظالمن جي قوم ناس ٿئي. ٤٠-٤٤

---

جڏهن ٻيڙي تيار ٿي ويئي تہ خدا جي حڪم سان طوفاني هوائون هلڻ لڳيون. زمين مان پاڻي ڦٽي نڪتو ۽ مٿان مسلسل مينهن پوڻ لڳو. ايستائين جو هر طرف پاڻي ئي پاڻي ٿي ويو سيئي ماڻهو اُن ۾ ٻڏي ويا. صرف اُهي ڪجھ انسان ۽ ڪجھ جانور بچي سگهيا جيڪي حضرت نوح عليه السلام جي ٻيڙي ۾ سوار هئا. ايستائين جو حضرت نوح عليه السلام جو پٽ بہ ٻڏي ويو. خدا جي نظر ۾ ڪنهن جي قيمت ان جي عمل جي لحاظ کان آهي نہ وري رشتي جي لحاظ کان، چاهي اُهو رشتو پيغمبر سان ئي ڇو نہ هجي.

جڏهن سڀ ٻڏڻ وارا ٻڏي چڪا تہ خدا حڪم ڏنو تہ طوفان رڪجي وڃ ۽ طوفان رڪجي ويو. پاڻي سمنڊن ۽ دريائن ۾ هليو ويو ۽ زمين پيهر رهڻ جي قابل ٿي ويئي.

طوفان نوح جي موقعي تي ڏسڻ وارن هِي منظر ڏٺو تہ بلند جبلن تي چڙهڻ وارا ٻڏي ويا ۽ خطرناڪ لهرن جي باوجود ٻيڙي ۾ ويهڻ وارا سلامت رهيا، ان جو سبب خود جبل ۾ يا ٻيڙي ۾ نہ هو، ان جو سبب اِهو هو تہ هِي خدا جي حڪم جو معاملو هو. خدا جو حڪم جيڪڏهن جبل سان گڏ هجي ها تہ جبل پاڻ تي چڙهڻ وارن کي بچائي وٺي ها ۽ ٻيڙي جو سهارو وٺڻ وارا هلاڪ ٿي وڃن ها. پر اُن موقعي تي خدا جو حڪم ٻيڙي سان هو. اُن ڪري ٻيڙي وارا محفوظ رهيا ۽ ٻين شين جي پناهہ وٺڻ وارا غرق ٿي ويا.

دنيا ۾ اسباب جو نظام رڳو هڪ پردو آهي نہ تہ هِتي جيڪو ڪجھ ٿي رهيو آهي اُهو سڌو سنئون خدا جي حڪم سان ٿي رهيو آهي. انسان جو امتحان اهو آهي جو هو ظاهري پردي کان گذري اصل حقيقت کي ڏسي وٺي. هو اسباب جي اندر خدائي طاقتن کي ڪم ڪندي ڄاڻي وٺي.

وَ نَادٰى نُوۡحٌ رَّبَّهٗ فَقَالَ رَبِّ اِنَّ ابۡنِىۡ مِنۡ اَهۡلِىۡ وَ اِنَّ وَعۡدَكَ الۡحَقُّ وَ اَنۡتَ اَحۡكَمُ الۡحٰكِمِيۡنَ ﴿٤٥﴾ قَالَ يٰنُوۡحُ اِنَّهٗ لَـيۡسَ مِنۡ اَهۡلِكَ‌ ۚ اِنَّهٗ عَمَلٌ غَيۡرُ صَالِحٍ‌ ۖ فَلَا تَسۡـئَلۡنِ مَا لَـيۡسَ لَكَ بِهٖ عِلۡمٌ‌ ؕ اِنِّىۡۤ اَعِظُكَ اَنۡ تَكُوۡنَ مِنَ الۡجٰهِلِيۡنَ ﴿٤٦﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّىۡۤ اَعُوۡذُ بِكَ اَنۡ اَسۡـئَلَكَ مَا لَـيۡسَ لِىۡ بِهٖ عِلۡمٌ‌ ؕ وَ اِلَّا تَغۡفِرۡ لِىۡ وَتَرۡحَمۡنِىۡۤ اَكُنۡ مِّنَ الۡخٰسِرِيۡنَ ﴿٤٧﴾

نوح پنهنجي رب کي پڪاريو ۽ چيائين تہ اي منهنجا رب! منهنجو پٽ منهنجي گهر وارن مان آهي ۽ بيشڪ تنهنجو واعدو سچو آهي. ۽ تون سڀني کان وڏو حاڪم آهين. خدا چيو اي نوح! هو تنهنجي گهر وارن مان نہ آهي. ان جا ڪم خراب آهن. تنهن ڪري تون مون کان اُن شيءِ جي لاءِ سوال نہ ڪر جنهن جو توکي علم نہ آهي. آئون توکي نصيحت ٿو ڪريان تہ تون جاهلن مان نہ ٿيءُ. نوح چيو اي منهنجا رب! آئون تنهنجي پناهہ ٿو

گهران ته تو کان اُها شيءِ گهران جنهن جو مون کي علم نه آهي. ۽ جيڪڏهن تو مون کي معاف نه ڪيو ۽ مون تي رحم نه ڪيو ته آئون خساري وارن مان ٿي ويندس. ٤٥-٤٧

---

طوفان نوح ۾ جيڪي ماڻهو غرق ٿيا، انهن ۾ خود حضرت نوحؑ جو پٽ ڪنعان به هو. حضرت نوحؑ ان کي پنهنجي ٻيڙي ۾ ويهارڻ چاهيو، پر ان جي لاءِ ٻڏڻ مقدر ٿي چڪو هو، ان ڪري هو نه ويٺو. پوءِ حضرت نوحؑ ان کي بچائڻ جي لاءِ خدا کان دعا ڪئي ته جواب مليو ته اِهو ناداني جو سوال آهي، اِهڙا سوال نه ڪريو.

اصل ڳالهه اِها آهي ته خدا جو فيصلو ان بنياد تي نه ٿيندو آهي ته جيڪي ماڻهو بزرگن جي اولاد آهن يا جيڪي ڪنهن حضرت جو دامن جهلي ويٺا آهن، انهن سڀني کي نجات يافته قرار ڏئي جنتن ۾ داخل ڪري ڇڏجي. خدا وٽ نجات جو فيصلو خالص عمل جي بنياد تي ٿيندو آهي نه وري ڪنهن سان خانداني يا گروهي تعلق جي بنياد تي.

دنيا ۾ جيڪڏهن خانداني سلسلي جو لحاظ آهي ته آخرت ۾ اخلاقي رشتي جو لحاظ آهي. طوفانِ نوح ان ڪري ئي آيو هو ته انسانن جي وچ ۾ ٻين سڀني فرقن کي ختم ڪري صرف اخلاقي بنياد تي فرق قائم ڪيو وڃي. جيڪي صالح عمل وارا ماڻهو آهن، انهن کي خدائي ٻيڙي ۾ ويهاري بچائي وٺجي ۽ غير صالح عمل وارن سڀني ماڻهن کي طوفان جي بي رحم ڇولين جي حوالي ڪري ڇڏجي. اِهوئي واقعو ٻيهر قيامت ۾ تمام وڏو پيماني تي ۽ وڏيڪ ڪامل طور تي ورجايو ويندو.

قِيۡلَ يٰنُوۡحُ اهۡبِطۡ بِسَلٰمٍ مِّنَّا وَ بَرَكٰتٍ عَلَيۡكَ وَ عَلٰٓى اُمَمٍ مِّمَّنۡ مَّعَكَ ؕ وَ اُمَمٌ
سَنُمَتِّعُهُمۡ ثُمَّ يَمَسُّهُمۡ مِّنَّا عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿٤٨﴾ تِلۡكَ مِنۡ اَنۡۢبَآءِ الۡغَيۡبِ نُوۡحِيۡهَاۤ اِلَيۡكَ ۚ مَا
كُنۡتَ تَعۡلَمُهَاۤ اَنۡتَ وَ لَا قَوۡمُكَ مِنۡ قَبۡلِ هٰذَا ؕۛ فَاصۡبِرۡ ؕۛ اِنَّ الۡعَاقِبَةَ لِلۡمُتَّقِيۡنَ ﴿٤٩﴾ ع

چيو ويو ته اي نوح! هيٺ لهه اسان جي طرفان سلامتي سان ۽ برڪتن سان، توتي ۽ انهن جماعتن تي جيڪي توسان گڏ آهن ۽ (انهن مان اڀرڻ واري) امتن کي اسان فائدو ڏينداسون، پوءِ ڪين اسان جي طرفان هڪ دردناڪ عذاب پڪڙي وٺندو. اِهي غيب جون خبرون آهن جن کي اسان توڏانهن وحي ڪري رهيا آهيون. ان کان اڳ نه تون انهن کي ڄاڻندو هئين ۽ نه تنهنجي قوم. تنهن ڪري صبر ڪر. بيشڪ آخري انجام ڊڄڻ وارن جي لاءِ آهي. ٤٨-٤٩

---

جڏهن سڀئي بُرا ماڻهو ٻڏي ويا ته طوفان رڪجي ويو. پاڻي آهستي آهستي زمين ۾ ۽ سمنڊن ۾ هليو ويو. حضرت نوحؑ جي ٻيڙي جودي جبل تي بيهي رهي، پاڻؑ پنهنجن ساٿين سان گڏ ان مان نڪري زمين تي لٿا. زمين ٻيهر خدا جي حڪم سان سرسبز ۽ آباد ٿي ويئي.

حضرت نوحؑ جن ماڻهن ڏانهن آيا هئا اُهي حضرت آدمؑ جي نبوت کي مڃڻ وارا ماڻهو هئا. نوحؑ کان پوءِ سندس امت شروع ۾ سڌي رستي تي رهي. ان کانپوءِ سندن اڀرڻ واري نسلن ۾ بگاڙ اچي ويو ته ٻيهر نبين کي موڪليو ويو. اِهي بعد ۾ اچڻ وارا نبي انهن قومن ۾ آيا جيڪي حضرت نوحؑ جي نبوت کي مڃينديون هيون. ان جي باوجود جڏهن انهن وقت جي نبي جي ڪِي مڃي پنهنجي اصلاح نه ڪئي ته انهن کي هلاڪ ڪيو ويو. يعني صرف ڪنهن نبي کي مڃڻ يا اُن ڏانهن پاڻ کي

منسوب ڪرڻ نجات پائڻ جي لاءِ ڪافي نہ آهي. بلڪ اُهو ايمان گهربل آهي جيڪو زندهہ ايمان هجي ۽ جنهن جي اندر اِها طاقت هجي جو هُو ماڻهو جي زندگي کي نيڪ عملي جي زندگي ۾ بدلائي ڇڏي.

حضرت نوح عليه السلام جي تاريخ اِهو سبق ڏيندي آهي تہ باطل پرستن جو زور چاهي ڪيترو به گهڻو هجي ۽ سندن زندگي چاهي ڪيتري ئي ڊگهي ٿي وڃي، آخرڪار سندن لاءِ جيڪا شيءِ مقدر آهي اُها هلاڪت آهي ۽ ان جي مقابلي ۾ اهل ايمان چاهي ڪيترائي گهٽ هجن ۽ بظاهر ڪيترائي ڪمزور هجن، پر جڏهن خدا جو فيصلو ظاهر ٿيندو آهي تہ اِهي ئي ماڻهو آهن جيڪي خدا جي رحمتن ۾ حصيدار بنايا ويندا آهن موجوده دنيا ۾ بہ ۽ آخرت ۾ بہ.

وَ اِلٰی عَادٍ اَخَاهُمۡ هُوۡدًا ؕ قَالَ یٰقَوۡمِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ مَا لَکُمۡ مِّنۡ اِلٰهٍ غَیۡرُهٗ ؕ اِنۡ اَنۡتُمۡ اِلَّا مُفۡتَرُوۡنَ ﴿۵۰﴾ یٰقَوۡمِ لَاۤ اَسۡـَٔلُکُمۡ عَلَیۡهِ اَجۡرًا ؕ اِنۡ اَجۡرِیَ اِلَّا عَلَی الَّذِیۡ فَطَرَنِیۡ ؕ اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ ﴿۵۱﴾ وَ یٰقَوۡمِ اسۡتَغۡفِرُوۡا رَبَّکُمۡ ثُمَّ تُوۡبُوۡۤا اِلَیۡهِ یُرۡسِلِ السَّمَآءَ عَلَیۡکُمۡ مِّدۡرَارًا وَّ یَزِدۡکُمۡ قُوَّۃً اِلٰی قُوَّتِکُمۡ وَ لَا تَتَوَلَّوۡا مُجۡرِمِیۡنَ ﴿۵۲﴾

۽ عاد ڏانهن اسان سندن ڀاءُ هود کي موڪليو، اُن چيو اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو. ان کان سواءِ توهان جو ڪو معبود نہ آهي. توهان رڳو ڪوڙ گهڙي رکيا آهن. اي منهنجي قوم! آئون هِن تي توهان کان ڪو اُجورو نہ ٿو گهران. منهنجو اجر تہ اُن تي آهي، جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي. ڇا توهان نہ ٿا سمجهو. ۽ اي منهنجي قوم! پنهنجي رب کان معافي گهرو ۽ پوءِ ان ڏانهن رجوع ڪريو. هو توهان تي خوب مينهن وسائيندو ۽ توهان جي قوت کي گهڻو وڌائيندو. ۽ توهان مجرم ٿي منهن نہ موڙيو. ٥٠-٥٢

---

عاد قوم جي هدايت لاءِ سندس ڀاءُ حضرت هود عليه السلام کي موڪليو ويو. پيغمبرن جي باري ۾ هميشہ الله تعاليٰ جي اِهائي سنت رهي آهي. ان جي حڪمت اِها آهي تہ قوم جا فرد هئڻ جي ڪري هو چڱي طرح قوم جي نفسيات، انهن جي حالتن ۽ انهن جي زبان کي ڄاڻندا آهن ۽ وڌيڪ اثرائتي انداز ۾ قوم ۾ حق جي دعوت جو ڪم ڪري سگهندا آهن.

حضرت هود عليه السلام پنهنجي قوم کي هڪ الله جي عبادت جو پيغام ڏنو. انهي سان گڏ انهن اِهو چيو تہ توهان جو جيڪو دين آهي، اِهو رڳو هڪ ڪوڙ آهي جيڪو توهان گهڙي ورتو آهي. اُن مان معلوم ٿيو تہ پيغمبر جو طريقو معروف معنيٰ ۾ رڳو "مثبت طور تي" پنهنجي ڳالهہ چوڻ جو طريقو نہ آهي، بلڪ انهي سان گڏ هُو ڪُلي تنقيد بہ ڪندو آهي. ڇاڪاڻ تہ جيستائين تنقيد ۽ تجزيہ جي ذريعي ناحق جو ناحق هئڻ واضح نہ ڪيو وڃي، ان وقت تائين حق جو حق هئڻ ماڻهن جي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي سگهي.

هر پيغمبر جي زماني ۾ ايئن ٿيو جُو اُن جي مخالفن ان جي پيغمبري کي مڃڻ جي لاءِ اِهو پئي چاهيو تہ اِهو ڪو وڏو عهديدار هجي، ان وٽ دولت جا خزانا هجن، هُو عاليشان عمارتن ۾ رهندو هجي. پر حق جي داعي کي جانچڻ جو اِهو معيار صحيح نہ آهي. داعي جي صداقت کي جانچڻ جو اصل معيار اِهو آهي تہ هو پنهنجي مشن ۾ پوري طرح سنجيده هجي، ان جي ڳالهہ آخري حد تائين دليل تي مبني

هجي. هو هر قسم جي دنياوي غرضن کان مٿانهون هجي. هو جيڪو ڪجھ چئي رهيو آهي، اُهو عين حقيقت هجي. ان جو پيغام ڪائناتي نظام سان ڪامل مطابقت رکندو هجي. ان کي اختيار ڪرڻ ڪاميابي جي واٽ تي هلڻ آهي.

توهان جي قوت ۾ وڌيڪ قوت جو اضافو ڪندو. ان جملي جو مطلب مادي قوت ۾ اضافو نه آهي. ڇاڪاڻ ته قوم عاد پنهنجي زماني ۾ گهڻي طاقتور هئي. قرآن مان معلوم ٿيندو آهي ته پيغمبر جڏهن انهن کي عذاب کان ڊيڄاريو ته انهن چيو ته اسان کان وڌيڪ طاقتور ڪير آهي (من اشد منا قوة- حٰم السجده: ١٥) ان ڪري مادي قوت ۾ اضافي جي ڳالھ دعوتي لحاظ کان سندن لاءِ وڌيڪ پرڪشش نه پئي ٿي سگهي.

هن آيت ۾ قوت ۾ اضافي جو مطلب آهي ته مادي قوت ۾ ايماني قوت جو اضافو. پيغمبر جو مطلب اِهو هو ته جيڪڏهن توهان ايماني زندگي اختيار ڪري وٺو، ته اُن سان توهان کي اخلاقي ۽ روحاني قوت حاصل ٿيندي. موجوده مادي زور سان گڏ اخلاقي ۽ روحاني زور ملڻ سان توهان جي طاقت گهٽ نه ٿيندي، بلڪ اڃا وڌيڪ ٿي ويندي.

قَالُوۡا يٰهُوۡدُ مَا جِئۡتَنَا بِبَيِّنَةٍ وَّ مَا نَحۡنُ بِتَارِكِيۡۤ اٰلِهَتِنَا عَنۡ قَوۡلِكَ وَ مَا نَحۡنُ لَكَ بِمُؤۡمِنِيۡنَ﴿۵۳﴾ اِنۡ نَّقُوۡلُ اِلَّا اعۡتَرٰىكَ بَعۡضُ اٰلِهَتِنَا بِسُوۡٓءٍ ؕ قَالَ اِنِّيۡۤ اُشۡهِدُ اللّٰهَ وَ اشۡهَدُوۡۤا اَنِّيۡ بَرِيۡٓءٌ مِّمَّا تُشۡرِكُوۡنَ﴿۵۴﴾ مِنۡ دُوۡنِهٖ فَكِيۡدُوۡنِيۡ جَمِيۡعًا ثُمَّ لَا تُنۡظِرُوۡنِ﴿۵۵﴾ اِنِّيۡ تَوَكَّلۡتُ عَلَى اللّٰهِ رَبِّيۡ وَ رَبِّكُمۡ ؕ مَا مِنۡ دَآبَّةٍ اِلَّا هُوَ اٰخِذٌۢ بِنَاصِيَتِهَا ؕ اِنَّ رَبِّيۡ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ﴿۵۶﴾

انهن چيو ته اي هود! تو اسان وٽ ڪا پڌري نشاني نه آندي آهي ۽ اسان تنهنجي چوڻ سان پنهنجي معبودن کي ڇڏڻ وارا نه آهيون. ۽ اسان هرگز توکي مڃڻ وارا نه آهيون. اسان ته اِهو چونداسون ته توکي اسان جي معبودن مان ڪنهن ايذايو آهي. هود چيو آئون الله کي شاهد بڻايان ٿو ۽ توهان به گواھ رهجو ته آئون بيزار آهيان انهن کان جن کي توهان شريڪ ڪندا آهيو. اُن (الله) کانسواءِ. تنهن ڪري توهان سڀ گڏجي منهنجي خلاف تدبير ڪريو، پوءِ مون کي مهلت نه ڏيو. مون الله تي ڀروسو ڪيو آهي جيڪو منهنجو رب آهي ۽ توهان جو رب به. ڪو جاندار اهڙو نه آهي، جنهن جي پيشاني ان جي هٿ ۾ نه هجي. بيشڪ منهنجو رب سڌي رستي تي آهي. ٥٣-٥٦

---

حضرت هود عليه السلام جي قوم ڪيس چيو ته تو وٽ پنهنجي حق تي هئڻ جي ڪو دليل نه آهي، اُن جو مطلب اِهو نه آهي ته حقيقت ۾ به حضرت هود عليه السلام وٽ ڪو دليل نه هو. پاڻ عليه السلام وٽ يقينًا دليل هو، پر اُهو مخاطبن کي دليل ڏسڻ ۾ نه ٿي آيو. ان جو سبب اِهو هو ته ماڻهو عام طور تي ڪنهن ڳالھ کي خالص دليل جي بنياد تي جانچي ناهي سگهندو. ڇاڪاڻ ته هو اُن ڳالھ کي اُن شخص جي لحاظ کي ڏسندو آهي جيڪو اُن کي پيش ڪري رهيو آهي نه وري دليل جي لحاظ کان. ڇاڪاڻ ته پيش ڪرڻ وارو پنهنجي

زماني ۾ ماڻهن کي هڪ معمولي انسان ڏسڻ ۾ ايندو آهي، ان ڪري اُن جي ڳالهه به ماڻهن کي معمولي نظر ايندي آهي.

جڏهن هڪ ماڻهو وقت جي مجيل مذهب کي ڇڏي خالص ۽ ملاوٽ کان پاڪ دعوت کڻي اٿندو آهي ته هميشه ايئن ٿيندو آهي جو هو ماحول ۾ اجنبي بلڪ حقير بڻجي رهجي ويندو آهي. ماڻهو اُن کي اهڙي نظر سان ڏسندا آهن ڄڻ هو اهڙو شخص آهي جنهن جي دماغ ۾ خلل هجي. حضرت هودؑ جي معاملي ۾ به اِها ئي صورتحال هئي، جنهن جي ڪري سندن قوم جي ماڻهن کي اِهو چوڻ جي جرائت ٿي ته "اسان جو خيال آهي ته توکي اسان جي بزرگن جي پٽ لڳي آهي". پر حق جي داعي جي صداقت جو ثبوت پڌرن دليلن کانپوءِ هميشه اِهو هوندو آهي جو ان جا مخالف هر قسم جي ڪوششن جي باوجود اُن کي زير نه ٿا ڪري سگهن.

خدا جا پيغمبر جن قومن ۾ آيا، اُهي سڀ خدا کي مڃڻ واريون هيون. ڄڻ ته داعي به خدا پرست هئڻ جي دعويٰ ڪري رهيو هو ۽ مدعو به خدا پرست هئڻ جي دعويٰ ڪري رهيا هئا. اِهڙي حالت ۾ اِهو سوال پيدا ٿيندو آهي ته خدا پنهي مان ڪهڙي جماعت سان گڏ آهي. اُن سوال جو آسان جواب اهو آهي ته خدا صراط مستقيم (سڌي رستي) تي آهي. ان ڪري جيڪو دين جي سڌي رستي تي هلي رهيو آهي، اُهو سڌو خدا تائين پهچي ويندو ۽ جيڪو ٽيڙن رستن تي هلي رهيو آهي سو پٽڪي ويندو، هو خدا تائين پهچڻ ۾ ڪڏهن به ڪامياب نه ٿي سگهندو.

حضرت هودؑ جڏهن چيو ته "منهنجو رب صراط مستقيم تي آهي" ته پين لفظن ۾ ڄڻ هو اِهو چئي رهيو هو ته آئون جنهن شيءِ ڏانهن سڏي رهيو آهيان، اُها صراط مسطقيم (دين جو سڌو رستو) آهي. توهان ماڻهو جن شين کي دين سمجهي اختيار ڪري ويٺا آهيو، اُهي دين جي شاهراه مان نڪتل پيچرا آهن جن تي اوهان هلي رهيا آهيو. اهڙي قسم جي ڊوڙ ماڻهو کي خدا تائين نه ٿي پهچائي، اُها اُن کي هيڏانهن هوڏانهن پٽڪائي ٿي ڇڏي.

هنن آيتن جي روشني ۾ غور ڪيو وڃي ته حضرت هودؑ جي ٻڌايل صراط مستقيم اها آهي توحيد، عبادت الٰهي، استغفار، توبه، نعمتن تي خدا جو شڪر، الله تي توڪل، خدا کي پنهنجو رب مڃڻ، صرف خدا کي سيني طاقتن جو مالڪ سمجهڻ، خدا کي پاڻ تي نگران بڻائي وٺڻ، تڪبر جي طريقي بجاءِ اطاعت جو طريقو اختيار ڪرڻ.

اِهي سڀ دين جون بنيادي تعليمات آهن. انهيءَ تعليم تي هلڻ ۽ ان کي پنهنجي توجه جو مرڪز ٺاهڻ ڄڻ ته دين جي سڌي رستي تي هلڻ آهي. ان تي هلڻ وارو خدا تائين پهچندو آهي. ان کانسواءِ جن شين کي ماڻهو اهميت ڏئي ۽ ان جي ڌوم مچائي، اُهو ڄڻ ته اصل رستي کان هٽي پيچرن تي ڊوڙي رهيو آهي. اِهڙي ڊوڙ ماڻهو کي صرف خدا کان پري ڪرڻ واري آهي، هُو ان کي خدا جي ويجهو نه ٿي پهچائي سگهي.

فَاِنۡ تَوَلَّوۡا فَقَدۡ اَبۡلَغۡتُكُمۡ مَّاۤ اُرۡسِلۡتُ بِهٖۤ اِلَيۡكُمۡ ؕ وَيَسۡتَخۡلِفُ رَبِّىۡ قَوۡمًا غَيۡرَكُمۡ ۚ وَلَا تَضُرُّوۡنَهٗ شَيۡـًٔا ؕ اِنَّ رَبِّىۡ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ حَفِيۡظٌ ۝٥٧ وَلَمَّا جَآءَ اَمۡرُنَا نَجَّيۡنَا هُوۡدًا وَّالَّذِيۡنَ

اٰمَنُوۡا مَعَهٗ بِرَحۡمَةٍ مِّنَّا ۚ وَ نَجَّيۡنٰهُمۡ مِّنۡ عَذَابٍ غَلِيۡظٍ ﴿۵۸﴾ وَ تِلۡكَ عَادٌ ۟ۙ جَحَدُوۡا بِاٰيٰتِ
رَبِّهِمۡ وَ عَصَوۡا رُسُلَهٗ وَ اتَّبَعُوۡۤا اَمۡرَ كُلِّ جَبَّارٍ عَنِيۡدٍ ﴿۵۹﴾ وَ اُتۡبِعُوۡا فِىۡ هٰذِهِ الدُّنۡيَا لَعۡنَةً وَّ
يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ عَادًا كَفَرُوۡا رَبَّهُمۡ ؕ اَلَا بُعۡدًا لِّعَادٍ قَوۡمِ هُوۡدٍ ﴿۶۰﴾ ع

جيڪڏهن توهان منهن موڙيو ٿا، تہ مون توهان کي اُهو پيغام پهچائي ڇڏيو، جنهن کي ڏئي مون کي توهان ڏانهن موڪليو ويو هو. ۽ منهنجو رب توهان جي جاءِ تي توهان کانسواءِ ڪنهن ٻي قوم کي جانشين (خليفو) بڻائيندو. توهان ان جو ڪجهہ بہ نہ بگاڙي سگهندؤ. بيشڪ منهنجو رب هر شيءِ تي نگهبان آهي. ۽ جڏهن اسان جو حڪم اچي ويو، اسان پنهنجي رحمت سان بچائي ورتو هود کي ۽ انهن ماڻهن کي جن ان سان گڏ ايمان آندو هو. ۽ اسان کين هڪ سخت عذاب کان بچائي ورتو. ۽ اِهي عاد هئا جن پنهنجي رب جي نشانين جو انڪار ڪيو ۽ ان جي رسولن کي نہ مڃيو ۽ هر سرڪش ۽ مخالف جي ڳالهہ جي تابعداري ڪئي. ۽ انهن جي پويان لعنت لڳائي وئي هن دنيا ۾ ۽ قيامت جي ڏينهن. خبردار! عاد پنهنجي رب جو انڪار ڪيو. خبردار! لعنت آهي عاد جي لاءِ جيڪا هود جي قوم هئي. ٥٧-٦٠

---

جيڪي ماڻهو خدا جي ڳالهہ کي نظرانداز ڪري ڇڏين، خدا بہ انهن کي نظر انداز ڪري ڇڏيندو آهي. اِهو واقعو جيڪو موجوده دنيا ۾ جزئي طور تي پيش ايندو آهي، اهو ئي قيامت ۾ پوري طرح ۽ آخري طور تي پيش ايندو. ان وقت سڀ سرڪش ماڻهو خدا جي رحمتن کان پري ڪيا ويندا ۽ خدا جي رحمت صرف انهن ماڻهن جو حصو ٿيندي جيڪي دنيا جي زندگي ۾ خدا جا تابعدار ۽ وفادار بڻجي رهيا هئا.

هِن دنيا ۾ خدا "استخلاف" جو اصول رائج ڪيو آهي. يعني هڪ قوم کي هٽائڻ کانپوءِ ٻي قوم کي ان جي جڳهہ تي آڻن آهي. دنيا ۾ اِهو مرتبو امتحان جي غرض سان وقتي طور تي هوندو آهي. آخرت ۾ خدا جي معياري دنيا ۾ اِهو مرتبو انعام طور تي هميشہ جي لاءِ سچن ايمان وارن کي حاصل ٿيندو.

موجوده امتحاني دنيا جو نظام ڪجهہ اهڙي طرح ٺاهيو ويو آهي جو هتي ماڻهو هميشہ خير ۽ شر جي وچ ۾ هوندو آهي. ان کي آزادي هوندي آهي تہ ٻنهي مان جنهن راهہ کي چاهي اختيار ڪري. وڏيڪ اهو تہ اڪثر حالتن ۾ هِن دنيا ۾ شر جو غلبو هوندو آهي. خير جي پاسي رڳو نشانيون (پڌرن دليلن) جو زور هوندو آهي. ٻئي طرف شر جي پاسي مادي طاقت موجود هوندي آهي جو ان جو علمبردار سرڪشي ۽ گهمنڊ ۾ مبتلا ٿي ماحول ۾ اِهڙي فضا پيدا ڪندو آهي جو عام ماڻهو حق ڏانهن وڌڻ جي جرائت ئي نہ ڪري.

وَ اِلٰى ثَمُوۡدَ اَخَاهُمۡ صٰلِحًا ۘ قَالَ يٰقَوۡمِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمۡ مِّنۡ اِلٰهٍ غَيۡرُهٗ ؕ هُوَ
اَنۡشَاَكُمۡ مِّنَ الۡاَرۡضِ وَ اسۡتَعۡمَرَكُمۡ فِيۡهَا فَاسۡتَغۡفِرُوۡهُ ثُمَّ تُوۡبُوۡۤا اِلَيۡهِ ؕ اِنَّ رَبِّىۡ قَرِيۡبٌ
مُّجِيۡبٌ ﴿۶۱﴾ قَالُوۡا يٰصٰلِحُ قَدۡ كُنۡتَ فِيۡنَا مَرۡجُوًّا قَبۡلَ هٰذَاۤ اَتَنۡهٰٮنَاۤ اَنۡ نَّعۡبُدَ مَا يَعۡبُدُ

اٰبَآؤُنَا وَ اِنَّنَا لَفِيۡ شَكٍّ مِّمَّا تَدۡعُوۡنَاۤ اِلَيۡهِ مُرِيۡبٍ ﴿۶۲﴾ قَالَ يٰقَوۡمِ اَرَءَيۡتُمۡ اِنۡ كُنۡتُ عَلٰى
بَيِّنَةٍ مِّنۡ رَّبِّيۡ وَ اٰتٰىنِيۡ مِنۡهُ رَحۡمَةً فَمَنۡ يَّنۡصُرُنِيۡ مِنَ اللّٰهِ اِنۡ عَصَيۡتُهٗ ۗ فَمَا تَزِيۡدُوۡنَنِيۡ
غَيۡرَ تَخۡسِيۡرٍ ﴿۶۳﴾

۽ ثمود ڏانهن اسان سندن ڀاءُ صالح کي موڪليو. ان چيو اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو، ان ڪانسواءِ توهان جو ڪو معبود نہ آهي. اُن ئي توهان کي زمين مان بڻايو ۽ اُن ۾ توهان کي آباد ڪيو. تنهن ڪري معافي گهرو، پوءِ ان ڏانهن رجوع ڪريو. بيشڪ منهنجو رب ويجهو آهي، قبول ڪرڻ وارو آهي. انهن چيو تہ اي صالح! هِن ڪان اڳ اسان کي تومان اميد هئي. ڇا تون اسان کي انهن جي عبادت ڪان روڪين ٿو جن جي عبادت اسان جا ابا ڏاڏا ڪندا هئا. ۽ جنهن شيءِ ڏانهن تون اسان کي سڏين ٿو، اُن جي باري ۾ اسان کي سخت شڪ آهي ۽ اسان ٻڌتر ۾ آهيون. هن چيو اي منهنجي قوم! ٻڌايو جيڪڏهن آئون پنهنجي رب طرفان هڪ پڌري دليل تي آهيان ۽ هُن مون کي پنهنجي رحمت سان نوازيو آهي تہ مون کي خدا کان ڪير بچائيندو، جيڪڏهن آئون اُن جي نافرماني ڪريان. پوءِ اوهان تہ منهنجي لاءِ رڳو نقصان پيا وڌايو. ٦١-٦٣

---

حضرت صالحؑ پنهنجي قوم کي هڪ خدا جي عبادت ڏانهن سڏيو. اِهوئي هر زماني ۾ سڀني پيغمبرن جو مقصد هو. پر حضرت صالحؑ جي قوم پاڻؑ جي پيغام کي قبول نہ ڪري سگهي. ان جي وجھ اِها هئي تہ پاڻؑ قوم کي براهِ راست خدا سان جوڙڻ جي ڳالھ ڪندا هئا، جڏهن تہ قوم جو حال اِهو هو تہ هو خدا جي نالي تي رڳو پنهنجي عظيم بزرگن سان جڙيل هئي.

اهڙن ماڻهن جو حال اِهو هوندو آهي جو هو پنهنجي خاص مزاج جي ڪري ڪنهن شي جي اهميت ۽ ان جي حقيقت رڳو ان وقت سمجهي سگهندا آهن، جڏهن سندن قومي بزرگن جي قول ۽ عمل ۾ ان جي تصديق ملي وڃي. ڇاڪاڻ تہ حضرت صالحؑ وٽ رڳو دليل جو زور هو، اُن ڪري سندس قوم اُن جي ڳالھ جي اهميت کي محسوس نہ ڪري سگهي. حضرت صالحؑ جنهن دين ڏانهن سڏي رهيا هئا، اُن جي اهميت خدا جي وحي ۽ زمين ۽ آسمان جي نشانين ۾ غور ڪرڻ سان واضح ٿيندي هئي. جڏهن تہ سندس قوم رڳو اُن دين جي اهميت کان باخبر هئي جيڪو قوم جي بزرگن جي ملفوظات ۽ معمولات مان ثابت ٿيندو هو. ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ سندس قوم پاڻؑ جي دليلن جي مقابلي ۾ لاجواب ٿي ڪري بہ هڪ قسم جي شڪ جي حالت ۾ رهي.

حضرت صالحؑ بہ سڀني پيغمبرن وانگر شخصيت ۽ ذهانت ۾ پنهنجي قوم ۾ ممتاز فرد هئا. ماڻهن کي اُميد هئي تہ وڏا ٿي هُو قوم جي لاءِ فائديمند فرد ثابت ٿيندا. پر جڏهن هو وڏي عمر کي پهتا تہ انهن قوم جي رائج مذهب تي تنقيد شروع ڪري ڇڏي. اِهو ڏسي قوم جي ماڻهن کي اُنهن جي باري ۾ سخت مايوسي ٿي. انهن چيو اسان تہ اهو سمجهو پئي تہ توهان اسان جي قائم ٿيل مذهبي نظام جا علمبردار بڻجندؤ، ان جي ابتڙ اسان ڏسي رهيا آهيون تہ توهان اسان جي مذهبي نظام کي بي بنياد ثابت ڪرڻ تي پنهنجو سڄو زور لڳائي رهيا آهيو. اِهوئي معاملو هر دؤر ۾ خدا جي سچن داعين کي پنهنجي قوم طرفان پيش آيو آهي.

وَ يٰقَوۡمِ هٰذِهٖ نَاقَةُ اللّٰهِ لَكُمۡ اٰيَةً فَذَرُوۡهَا تَاۡكُلۡ فِيۡۤ اَرۡضِ اللّٰهِ وَ لَا تَمَسُّوۡهَا بِسُوۡٓءٍ
فَيَاۡخُذَكُمۡ عَذَابٌ قَرِيۡبٌ ﴿٦٤﴾ فَعَقَرُوۡهَا فَقَالَ تَمَتَّعُوۡا فِيۡ دَارِكُمۡ ثَلٰثَةَ اَيَّامٍ ؕ ذٰلِكَ وَعۡدٌ
غَيۡرُ مَكۡذُوۡبٍ ﴿٦٥﴾ فَلَمَّا جَآءَ اَمۡرُنَا نَجَّيۡنَا صٰلِحًا وَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مَعَهٗ بِرَحۡمَةٍ مِّنَّا وَ مِنۡ
خِزۡيِ يَوۡمِئِذٍ ؕ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ الۡقَوِيُّ الۡعَزِيۡزُ ﴿٦٦﴾ وَ اَخَذَ الَّذِيۡنَ ظَلَمُوا الصَّيۡحَةُ فَاَصۡبَحُوۡا فِيۡ
ع دِيَارِهِمۡ جٰثِمِيۡنَ ﴿٦٧﴾ۙ كَاَنۡ لَّمۡ يَغۡنَوۡا فِيۡهَا ؕ اَلَاۤ اِنَّ ثَمُوۡدَاۡ كَفَرُوۡا رَبَّهُمۡ ؕ اَلَا بُعۡدًا لِّثَمُوۡدَ ﴿٦٨﴾ؑ

۽ اي منهنجي قوم! هِي الله جي ڏاچي توهان جي لاءِ هڪ نشاني آهي. تنهن ڪري اُن کي ڇڏي ڏيو ته هو الله جي زمين ۾ چَري. ۽ ان کي ڪا تڪليف نه پهچايو نه ته تمام جلد توهان کي عذاب پڪڙي وٺندو. پوءِ انهن اُن جا پير ڪٽي ڇڏيا. تڏهن صالح چيو ته ٽي ڏينهن پيا پنهنجي گهرن ۾ مزا ماڻي وٺو. اِهو هڪ وعدو آهي جيڪو ڪوڙو نه ٿيندو. پوءِ جڏهن اسان جو حڪم اچي ويو، اسان پنهنجي رحمت سان صالح کي ۽ انهن ماڻهن کي جن ان سان گڏ ايمان آندو هو بچائي ورتو ۽ ان ڏينهن جي رسوائي کان به (محفوظ) رکيو. بيشڪ تنهنجو رب ئي قوت وارو ۽ زبردست آهي. ۽ جن ماڻهن ظلم ڪيو هو انهن کي هڪ هولناڪ آواز پڪڙي ورتو، پوءِ صبح جو اُهي پنهنجن گهرن ۾ اونڌا پيل رهجي ويا. ڄڻ ته اُهي ڪڏهن به انهن ۾ رهيا ئي نه هئا. خبردار! ثمود پنهنجي رب سان ڪفر ڪيو. خبردار! ڦِٽڪار آهي ثمود جي لاءِ. ٦٤-٦٨

---

حضرت صالح عليه السلام پنهنجي قوم کي چوندا هئا ته آئون خدا جو رسول آهيان. جيڪڏهن توهان منهنجي ڳالهه نه مڃي ته توهان خدا جي پڪڙ ۾ اچي ويندؤ. سندس قوم جيتوڻيڪ خدا ۽ رسالت جي منڪر نه هئي، پر اُن حضرت صالح عليه السلام جي ڳالهه کي هڪ مذاق سمجهو. چاڪاڻ ته حضرت صالح عليه السلام وٽ پنهنجي پيغمبري کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ رڳو پڌرو دليل هو ۽ اِها انسان جي ڪمزوري آهي جو هُو صرف دليل جي بنياد تي تمام گهڻن لاءِ تيار ٿيندو آهي ته هڪ ڄاتل شيءِ کي ڇڏي اڻڄاتل شيءِ کي اختيار ڪري وٺي.

حضرت صالح عليه السلام جي قوم جڏهن پڌرين نشانين جي اڳيان جهڪڻ لاءِ تيار نه ٿي ته پوءِ آخري مرحلي ۾ سندن مطالبي جي مطابق سندن لاءِ هڪ محسوس ٿيندڙ نشاني به ظاهر ڪئي وئي. اِها هڪ ڏاچي هئي جيڪا ماڻهن جي سامهون جبل کي ڦاڙي اندران نڪري آئي. اِهڙي نشاني جي باري ۾ خدا جو قانون آهي ته جڏهن اُها ظاهر ڪئي ويندي آهي ته اُن کانپوءِ ماڻهن جي لاءِ امتحان جي وڌيڪ مهلت باقي نه ٿي رهي. جيئن ته حضرت صالح عليه السلام اعلان ڪري ڇڏيو ته هاڻي توهان يا ته توبهه ڪري منهنجي ڳالهه مڃي وٺو نه ته توهان سڀئي ماڻهو هلاڪ ڪيا ويندؤ. پر جيڪي ماڻهو پڌرن دليلن جي قوت کي محسوس نه ڪري سگهن، اُهي اکين سان نظر ايندڙ نشاني کي ڏسي به ان مان عبرت حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهندا آهن. تنهن ڪري ان کانپوءِ به حضرت صالح عليه السلام جي قوم پنهنجي سرڪشي کان باز نه آئي، انهن ڏاچي کي ماري ڇڏيو. ان کانپوءِ انهن ماڻهن جي لاءِ وڌيڪ مهلت جو سوال ئي نه هو. تنهن ڪري انهن کي ناس ڪيو ويو.

قوم صالح (ثمود) جو علائقو اتر-اولهه عرب (الحجر) هو. حضرت صالح عليه السلام کي حڪم ٿيو ته توهان هِتان ٻاهر هليا وڃو. تنهن ڪري هو پنهنجي مخلص ساٿين کي وٺي شام ڏانهن هليا ويا. ان

ڪانپوءِ هڪ سخت زلزلو آيو ۽ سڄي قوم اُن ۾ هلاڪ ٿي وئي.

فَمَا لَبِثَ اَنۡ جَآءَ بِعِجۡلٍ حَنِيۡذٍ ﴿٦٩﴾ فَلَمَّا رَاٰۤ اَيۡدِيَهُمۡ لَا تَصِلُ اِلَيۡهِ نَكِرَهُمۡ وَ اَوۡجَسَ
مِنۡهُمۡ خِيۡفَةً ؕ قَالُوۡا لَا تَخَفۡ اِنَّاۤ اُرۡسِلۡنَاۤ اِلٰى قَوۡمِ لُوۡطٍ ﴿٧٠﴾ وَ امۡرَاَتُهٗ قَآئِمَةٌ فَضَحِكَتۡ
فَبَشَّرۡنٰهَا بِاِسۡحٰقَ ۙ وَ مِنۡ وَّرَآءِ اِسۡحٰقَ يَعۡقُوۡبَ ﴿٧١﴾ قَالَتۡ يٰوَيۡلَتٰۤى ءَاَلِدُ وَ اَنَا عَجُوۡزٌ وَّ
هٰذَا بَعۡلِىۡ شَيۡخًا ؕ اِنَّ هٰذَا لَشَىۡءٌ عَجِيۡبٌ ﴿٧٢﴾ قَالُوۡۤا اَتَعۡجَبِيۡنَ مِنۡ اَمۡرِ اللّٰهِ رَحۡمَتُ اللّٰهِ
وَ بَرَكٰتُهٗ عَلَيۡكُمۡ اَهۡلَ الۡبَيۡتِ ؕ اِنَّهٗ حَمِيۡدٌ مَّجِيۡدٌ ﴿٧٣﴾

۽ ابراهيم وٽ اسان جا فرشتا خوشخبري ڪٽي آيا. چيائون توتي سلامتي هجي. ابراهيم چيو توهان تي بہ سلامتي هجي، پوءِ دير نہ ٿي جو ابراهيم هڪ ڀُڳل گابو ڪٽي آيو. پوءِ جڏهن ڏٺائين تہ سندن هٿ ڪاڌي ڏانهن نہ پيا وڌن تہ ان ڪي ڪٽڪو ٿيو ۽ دل ۾ انهن ڪان ڊنو. انهن چيو تہ ڊڄ نہ. اسان لوط جي قوم ڏانهن موڪليا ويا آهيون. ۽ ابراهيم جي زال بيٺي هئي، هوءِ کلي پئي. پوءِ اسان اُن کي اسحاق جي خوشخبري ڏني ۽ اسحاق ڪانپوءِ يعقوب جي. اُن چيو هاءِ افسوس ڇا آئون ٻار ڄڻيندس، جڏهن تہ آئون پوڙهي آهيان ۽ منهنجو مڙس بہ پوڙهو آهي. هِي تہ هڪ عجيب ڳالهہ آهي. فرشتن چيو ڇا تون الله جي حڪم تي تعجب ٿي ڪرين. ابراهيم جا گهر وارؤ! توهان تي الله جون رحمتون ۽ برڪتون آهن. بيشڪ الله نهايت ساراهيل ۽ وڏي شان وارو آهي. ٦٩-٧٣

---

حضرت ابراهيم عليہ السلام جي عمر تقريبًا سؤ سال ٿي چڪي هئي. هڪ ڏينهن ڪجهہ انتهائي خوبصورت نوجوان ان جي گهر ۾ داخل ٿيا. حضرت ابراهيم عليہ السلام انهن کي مهمان سمجهي جلد مانيءَ جو انتظام ڪيو. پر اُهي انسان نہ هئا بلڪ خدا جا فرشتا هئا. انهن جي اچڻ جا ٻہ مقصد هئا. هڪ حضرت ابراهيم عليہ السلام کي اولاد جي خوشخبري ڏيڻ، ٻيو حضرت لوط عليہ السلام جي قوم کي هلاڪ ڪرڻ جيڪا انڪار ۽ سرڪشي جي آخري حد تائين پهچي چڪي هئي.

حضرت ابراهيم عليہ السلام ۽ ان جي گهر واري کي اسحاق عليہ السلام (پٽ) ۽ يعقوب (پوٽي) جي خوشخبري ڏيڻ سادي معنيٰ ۾ رڳو صرف اولاد جي خوشخبري نہ هئي. اِهو صالح ۽ داعي انسانن جو هڪ گهراڻو وجود ۾ آڻڻ هو. تاريخ جو تجربو آهي تہ اڪثر ”ڪو گهراڻو“ هوندو آهي جيڪو دين حق جي خدمت جي لاءِ اُٿي بيهندو آهي. نبين جي تاريخ ۽ نبين ڪانپوءِ سندن سچي پيروي ڪندڙن جا واقعا اِهائي ڳالهہ ٻڌائيندا آهن. ان جو سبب اهو آهي تہ هڪ ماڻهو تي جڏهن سچائي جو انڪشاف ٿيندو آهي تہ ان وقت هو پنهنجي زماني جي ماڻهن جي نظر ۾ هڪ معمولي انسان هوندو آهي. ان ڪري عام ماڻهو جي لاءِ ان جي مقام کي سڃاڻڻ ۽ اُن جو ساٿ ڏيڻ تمام مشڪل هوندو آهي. پر ان جي پنهنجن گهر وارن جي لاءِ ان سان ذاتي رشتو هڪ وڏيک سبب بڻجي ويندو آهي. جنهن شيءِ کي ٻاهر وارا ظاهر پرستي جي ڪري ڏسي نہ ٿا سگهن، گهر وارا ذاتي تعلق جي ڪري ان کي محسوس ڪري وٺندا آهن. ۽ سندس مشن ۾ ان جا ساٿي بڻجي ويندا آهن.

فَلَمَّا ذَهَبَ عَنۡ اِبۡرٰهِيۡمَ الرَّوۡعُ وَ جَآءَتۡهُ الۡبُشۡرٰى يُجَادِلُنَا فِىۡ قَوۡمِ لُوۡطٍ ﴿٧٤﴾ اِنَّ

اِبۡرٰهِيۡمَ لَحَلِيۡمٌ اَوَّاهٌ مُّنِيۡبٌ ﴿۷۵﴾ يٰۤاِبۡرٰهِيۡمُ اَعۡرِضۡ عَنۡ هٰذَا ۚ اِنَّهٗ قَدۡ جَآءَ اَمۡرُ رَبِّكَ ۚ وَ
اِنَّهُمۡ اٰتِيۡهِمۡ عَذَابٌ غَيۡرُ مَرۡدُوۡدٍ ﴿۷۶﴾

پوءِ جڏهن ابراهيم جو ڊپ لٿو ۽ ان کي خوشخبري ملي تہ هو اسان سان قوم لوط جي باري ۾ جهڳڙو ڪرڻ لڳو. بيشڪ ابراهيم وڏو حليم ۽ نرم دل هو ۽ رجوع ڪرڻ وارو هو. اي ابراهيم! ان ڳالھ کي ڇڏي ڏي. تنهنجي رب جو حڪم اچي چڪو آهي ۽ انهن تي هڪ اهڙو عذاب اچڻ وارو آهي جيڪو ٽرڻ وارو نہ آهي. ٧٤-٧٦

---

حضرت ابراهيم عليہ السلام جي اِها گفتگو اُنهن فرشتن سان ٿي هئي. جيڪي لوط جي قوم کي هلاڪ ڪرڻ جي لاءِ آيا هئا. ڇاڪاڻ تہ اهي فرشتا خدا طرفان ۽ ان جي حڪم جي تڪميل لاءِ آيا هئا، اُن ڪري خدا انهن ڳالهين کي پاڻ ڏانهن منسوب فرمايو. پيغمبر ۽ فرشتن جي وچ ۾ ان گفتگو جو هڪ جُز (سورة العنڪبوت: آيت ٣٢) ۾ ذڪر ٿيل آهي ۽ ان جو تفصيلي بيان موجوده بائبل (پيدائش باب-١٨) ۾ آيو آهي.

حضرت ابراهيم عليہ السلام جي دعا لوط جي قوم جي حق ۾ منظور نہ ٿي. اهڙي طرح ان کان اڳ ۾ حضرت نوح عليہ السلام جي دعا پنهنجي پٽ جي لاءِ منظور نہ ٿي هئي. ان جو سبب اِهو آهي تہ مغفرت جي دعا ٻي معنيٰ ۾ ڪا سفارش نہ آهي، جيڪا هڪ ماڻهو ٻئي ماڻهو جي لاءِ ڪري ۽ اُها دعا ڪرڻ واري جي بزرگي جي ڪري ان جي حق ۾ مڃي وڃي.

دعا خود پنهنجي پاڻ کي خدا جي آڏو پيش ڪرڻ آهي. جيڪڏهن حضرت نوح عليہ السلام جي پٽ يا حضرت لوط عليہ السلام جي قوم جي ماڻهن جي اندر خود دعا جو جذبو پيدا ٿي وڃي ها ۽ هو پنهنجي نجات جي لاءِ خدا کي پڪارين ها تہ يقيناً خدا انهن کي معاف ڪري ڇڏي ها ۽ پنهنجي رحمت انهن ڏانهن موڪلي ها. عذاب جو موٽي وڃڻ بلڪل ممڪن آهي، جهڙي طرح حضرت يونس عليہ السلام جي قوم جي مثال مان ثابت ٿيندو آهي. پر اهو عذاب جڏهن بہ ٽرندو تہ خود ان جي زد ۾ آيل ماڻهن جي دعائن سان ٽرندو نہ وري ڪنهن غير ماڻهو جي دعائن سان، چاهي اِهي غير ماڻهو پيغمبر ئي ڇو نہ هجن.

هڪ ماڻهو کي ٻئي ماڻهو جي لاءِ دعا ڪرڻ کپي ۽ هر زماني ۾ پيغمبرن ۽ صالح ماڻهن ٻين جي لاءِ دعائون ڪيون آهن. پر اِها دُعا حقيقت ۾ خود دعا ڪرڻ واري کي حليم، نرم دل ۽ رجوع ڪرڻ وارو ظاهر ڪندي آهي. الله جو هڪ ٻانهو جيڪو الله کان ڊڄندو هجي، اُهو الله جي عذاب کي ڏسي ڏکي ٿيندو آهي ۽ پنهنجي لاءِ ۽ ٻين جي لاءِ دعائون گُهرڻ لڳندو آهي. پر ڪنهن جي دعا ٻيءَ جي حق ۾ اُن ئي وقت فائديمند هوندي آهي جڏهن تہ هو خود بہ الله کان ڊڄي الله کي پڪاري رهيو هجي.

وَ لَمَّا جَآءَتۡ رُسُلُنَا لُوۡطًا سِیۡٓءَ بِهِمۡ وَ ضَاقَ بِهِمۡ ذَرۡعًا وَّ قَالَ هٰذَا يَوۡمٌ عَصِيۡبٌ ﴿۷۷﴾ وَ
جَآءَهٗ قَوۡمُهٗ يُهۡرَعُوۡنَ اِلَيۡهِ ؕ وَ مِنۡ قَبۡلُ كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ السَّيِّاٰتِ ؕ قَالَ يٰقَوۡمِ هٰۤؤُلَآءِ
بَنَاتِىۡ هُنَّ اَطۡهَرُ لَـكُمۡ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ لَا تُخۡزُوۡنِ فِىۡ ضَيۡفِىۡ ؕ اَلَـيۡسَ مِنۡكُمۡ رَجُلٌ
رَّشِيۡدٌ ﴿۷۸﴾ قَالُوۡا لَقَدۡ عَلِمۡتَ مَا لَنَا فِىۡ بَنٰتِكَ مِنۡ حَقٍّ ۚ وَاِنَّكَ لَتَعۡلَمُ مَا نُرِيۡدُ ﴿۷۹﴾

۽ جڏهن اسان جا فرشتا لوط وٽ پهتا ته هو گهبرائجي ويو ۽ سندن اچڻ تي ان جي دل تنگ ٿي. ان چيو ته اڄوڪو
ڏينهن وڏو سخت آهي. ۽ سندس قوم جا ماڻهو ڊوڙندا ان وٽ آيا. ۽ اُهي اڳ ۾ ئي برا ڪم ڪري رهيا هئا. لوط
چيو اي منهنجي قوم! منهنجون ڌيئرون آهن. اِهي توهان جي (نڪاح) لاءِ پاڪ آهن. تنهن ڪري توهان الله کان
ڊڄو ۽ مون کي منهنجي مهمانن جي سامهون رسوا نه ڪريو. ڇا توهان ۾ ڪو به ڀلارو مڙس نه آهي. انهن چيو تون
ڄاڻين ٿو ته اسان کي تنهنجي ڌيئرن سان ڪجهه غرض نه آهي ۽ تون ڄاڻين ٿو ته اسان ڇا چاهيون ٿا. ٧٧-٧٩

---

حضرت لوطؑ وٽ جيڪي فرشتا آيا، اُهي عذاب جا فرشتا هئا. پر اُهي نهايت خوبصورت نوجوانن جي صورت ۾ بستي جي اندر داخل ٿيا. اِهو اصل ۾ قوم کي آخري طور تي مجرم ثابت ڪرڻ جي لاءِ هو. ماڻهو جڏهن مسلسل هڪ برائي ڪندو آهي ته ان جي باري ۾ هو بلڪل بي حس ٿي ويندو آهي. اِهوئي حال قوم لوط جو هو. هو هاڻي پڌري بدڪاري ڪرڻ لڳا هئا. تنهن ڪري جڏهن انهن ڏٺو ته خوبصورت ڇوڪرا حضرت لوطؑ جي گهر آيا آهن ته اهي شهوت جي جذبي سان پاڻؑ جي گهر ڏانهن ڊوڙي پيا. انهن انتهائي بي حيائي سان مطالبو شروع ڪيو ته هنن ڇوڪرن کي اسان جي حوالي ڪيو وڃي.

حضرت لوطؑ شرير ماڻهن کي اهڙي طرح ايندي ڏٺو ته پاڻؑ تي سخت شرم ۽ غيرت طاري ٿي وئي. پاڻؑ چيو ”هِي قوم جون ڌيئرون آهن، انهن مان جنهن سان چاهيو نڪاح ڪري وٺو ۽ پنهنجي فطري خواهش پوري ڪريو“. ڪنهن قوم ۾ جيڪي وڏا ۽ پوڙها هوندا آهن، اُهي قوم جي سيني ڇوڪرين کي ڌيءَ چئي پڪاريندا آهن. ان ئي معنيٰ ۾ حضرت لوطؑ قوم جي ڌيئرن کي ”منهنجون ڌيئرون“ فرمايو.

پر انهن ماڻهن حضرت لوطؑ جي جائز پيشڪش کي ٺُڪرائي ڇڏيو ۽ ناجائز لاءِ اصرار ڪندا رهيا. ان مان آخري طور تي ثابت ٿي ويو ته هِي اُهي مجرم ماڻهو آهن ۽ يقينًا ان قابل آهن جو انهن کي هلاڪ ڪيو وڃي. تنهن ڪري ان کانپوءِ اُهي سڀ هلاڪ ڪيا ويا.

”ڇا توهان ۾ هڪ به ڀلارو ماڻهو نه آهي“. هِي خدا جي ان ٻانهي جو آخري جملو هوندو آهي، جنهن وٽ شرير ماڻهن کي روڪڻ جي لاءِ مادي قوت نه هجي ۽ عقل جون سڀ ڳالهيون انهن کي روڪڻ ۾ ناڪافي ثابت ٿين. ان وقت اهڙي قسم جو جملو چئي هو قوم جي غيرت کي پڪاري ٿو ۽ ان جي ضمير کي بيدار ڪرڻ چاهي ٿو. ان کانپوءِ به جيڪڏهن ايئن ٿئي جو ماڻهو بي حس ٿي رهن ته ان جو مطلب هوندو آهي ته انهن جي اندر انسانيت ۽ شرافت جو ڪو به ذرو باقي نه رهيو آهي.

قَالَ لَوۡ اَنَّ لِیۡ بِکُمۡ قُوَّۃً اَوۡ اٰوِیۡۤ اِلٰی رُکۡنٍ شَدِیۡدٍ ﴿۸۰﴾ قَالُوۡا یٰلُوۡطُ اِنَّا رُسُلُ رَبِّکَ لَنۡ یَّصِلُوۡۤا
اِلَیۡکَ فَاَسۡرِ بِاَہۡلِکَ بِقِطۡعٍ مِّنَ الَّیۡلِ وَ لَا یَلۡتَفِتۡ مِنۡکُمۡ اَحَدٌ اِلَّا امۡرَاَتَکَ ؕ اِنَّہٗ
مُصِیۡبُہَا مَاۤ اَصَابَہُمۡ ؕ اِنَّ مَوۡعِدَہُمُ الصُّبۡحُ ؕ اَلَیۡسَ الصُّبۡحُ بِقَرِیۡبٍ ﴿۸۱﴾ فَلَمَّا جَآءَ
اَمۡرُنَا جَعَلۡنَا عَالِیَہَا سَافِلَہَا وَ اَمۡطَرۡنَا عَلَیۡہَا حِجَارَۃً مِّنۡ سِجِّیۡلٍ ۬ۙ مَّنۡضُوۡدٍ ﴿ۙ۸۲﴾ مُّسَوَّمَۃً
عِنۡدَ رَبِّکَ ؕ وَ مَا ہِیَ مِنَ الظّٰلِمِیۡنَ بِبَعِیۡدٍ ﴿٪۸۳﴾

لوط چيو ڪاش! مون وٽ توهان سان مقابلي جي قوت هجي ها يا ڪو مضبوط سهارو هجي ها جو اُن جي پناهہ وٺان ها. فرشتن چيو اي لوط! اسان تنهنجي رب جا موڪليل آهيون. اُهي هرگز تو تائين نہ پهچي سگهندا. تنهن ڪري تون پنهنجي ماڻهن کي وٺي ڪجهہ رات ڏئي نڪري وڃ. ۽ توهان مان ڪو بہ مُڙي نہ ڏسي. پَر تنهنجي گهر واري کي اِهوئي عذاب رسڻ وارو آهي جيڪو انهن ماڻهن کي رسندو. سندن لاءِ صبح جو وقت مقرر آهي، ڇا صبح ويجهو نہ آهي. پوءِ جڏهن اسان جو حڪم آيو تہ اسان اُن بستي کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو ۽ انهن مٿان پڪي مٽي جا لڳو لڳ پٿر وسايا. جيڪي تنهنجي رب جا نشان ٿيل هئا. ۽ اُها بستي انهن ظالمن کان ڪجهہ پري نہ آهي. ٨٠-٨٣

---

حضرت لوطؑ اڇڻ وارن نوجوانن کي انسان سمجهي رهيا هئا. جڏهن حضرت لوطؑ جي پريشاني وڌي وئي ۽ هو پاڻ کي خطري ۾ محسوس ڪرڻ لڳا تہ انهن ٻڌايو تہ اسان فرشتا آهيون ۽ خدا طرفان موڪليل آهيون. يعني اِهو معاملو انساني معاملو نہ آهي بلڪ خدائي معاملو آهي. هُو نہ اسان جو ڪجهہ بگاڙي سگهندا ۽ نہ توهان جو. جيئن تہ روايتن ۾ ايندو آهي تہ جڏهن قوم لوط جا ماڻهو اڳيان وڌڻ کان نہ رڪيا تہ هڪ فرشتي پنهنجو هٿ گهمايو تہ ان ڪانپوءِ اُهي سڀ انڌا ٿي ويا ۽ اهو چوندي موٽي ويا تہ پڇو لوط جا مهمان تہ وڏا جادوگر آهن.

جڏهن خدا ڪنهن قوم کي اُن جي سرڪشي جي ڪري هلاڪ ڪرڻ جو فيصلو ڪندو آهي تہ اِهو ان پوري علائقي جي لاءِ هڪ عام حڪم هوندو آهي. اهڙي موقعي تي اُن علائقي ۾ وسندڙ سڀئي جاندار خدائي عذاب جي پڪڙ ۾ اچي ويندا آهن. البت خدا جي خاص انتظام جي تحت اُهي ماڻهو اُن کان بچايا ويندا آهن جن انهن سرڪش ماڻهن جي سامهون حق جو اعلان ڪيو هجي. حق جو اعلان خدا جي پڪڙ کان بچڻ جي سيني کان وڏي ضمانت آهي. موجوده دنيا ۾ بہ ۽ آخرت ۾ بہ.

حضرت لوطؑ جي زال جي باري ۾ روايتن ۾ اچي ٿو تہ هو دل سان حضرت لوطؑ سان گڏ نہ هئي، پر آخري وقت ۾ جڏهن حضرت لوطؑ اِهو چئي بستي مان نڪتا تہ صبح تائين هِتي عذاب اچي ويندو تہ هوءَ بہ پاڻؑ جي قافلي سان گڏ ٿي وئي. پوءِ اجا اِهي ماڻهو رستي ۾ هئا تہ پٺيان زلزلي ۽ طوفان جو گوڙ ٻڌڻ ۾ آيو. حضرت لوطؑ ۽ سندن مخلص ساٿين پويان توجهہ نہ ڏنو. پر حضرت لوطؑ جي زال پويان مڙي ڏسڻ لڳي ۽ جڏهن اُن کي دونهون ۽ گوڙ ڏسڻ ۾ آيو تہ ان جي زبان مان نڪتو وا قوماه (هاءِ منهنجي قوم) ان وقت عذاب جو هڪ پٿر اچي ان کي لڳو ۽ اُتي ئي ان جو خاتمو ٿي ويو.

اُن ۾ اِهو سبق آهي تہ هڪ ماڻهو جيڪڏهن حقيقت ۾ خدا ۽ رسول جو وفادار نہ آهي ۽ ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري حق جي قافلي سان گڏجي وڃڻ سان هو نجات نہ ٿو پائي سگهي، ان جي ڪمزوري ڪٿي نہ ڪٿي ظاهر ٿيندي ۽ هو اُتي ئي رڪجي اڪيلو رهجي ويندو.

وَ اِلٰى مَدۡيَنَ اَخَاهُمۡ شُعَيۡبًا ؕ قَالَ يٰقَوۡمِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمۡ مِّنۡ اِلٰهٍ غَيۡرُهٗ ؕ وَ لَا تَنۡقُصُوا الۡمِكۡيَالَ وَ الۡمِيۡزَانَ اِنِّيۡۤ اَرٰىكُمۡ بِخَيۡرٍ وَّ اِنِّيۡۤ اَخَافُ عَلَيۡكُمۡ عَذَابَ يَوۡمٍ مُّحِيۡطٍ ﴿۸۴﴾ وَ يٰقَوۡمِ اَوۡفُوا الۡمِكۡيَالَ وَ الۡمِيۡزَانَ بِالۡقِسۡطِ وَ لَا تَبۡخَسُوا النَّاسَ اَشۡيَآءَهُمۡ

وَ لَا تَعۡثَوۡا فِی الۡاَرۡضِ مُفۡسِدِیۡنَ ﴿۸۵﴾ بَقِیَّتُ اللّٰہِ خَیۡرٌ لَّکُمۡ اِنۡ کُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِیۡنَ ۬ۚ وَ مَاۤ اَنَا عَلَیۡکُمۡ بِحَفِیۡظٍ ﴿۸۶﴾

۽ مدين ڏانهن سندن ڀاءُ شعيب کي موڪليوسون. اُن چيو اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو، ان کانسواءِ توهان جو ڪوبہ معبود نہ آهي. ۽ ماپ تور ۾ ڪمي نہ ڪريو. آئون توهان کي سٺي حال ۾ ڏسان ٿو ۽ آئون توهان تي هڪ گهيريندڙ عذاب واري ڏينهن کان ڊيڄاريان ٿو. ۽ اي منهنجي قوم! ماپ ۽ تور کي انصاف سان پورو ڪريو. ۽ ماڻهن کي سندن شيون گهٽائي نہ ڏيو. ۽ زمين تي فساد نہ مچائيندا وتو. الله جو ڏنل بچي پوي اُهو توهان جي لاءِ بهتر آهي جيڪڏهن توهان مؤمن آهيو. ۽ آئون توهان جي مٿان نگهبان نہ آهيان.٨٤-٨٦

---

مدين جو علائقو حجاز ۽ شام جي وچ ۾ هو. انهن جي پيغمبر حضرت شعيبؑ جو پنهنجي قوم کي اهو چوڻ ”جيڪڏهن توهان ايمان وارا آهيو“، ظاهر ڪري ٿو تہ ان جي قوم مؤمن هئڻ جي دعويٰ ڪندي هئي. ٻين لفظن ۾ اُها پنهنجي زماني جي مسلمان قوم هئي. اُها حضرت شعيبؑ کان اڳ ۾ اچڻ واري نبي جي امت هئي ۽ هاڻي ڊگهو عرصو گذري وڃڻ ڪانپوءِ سندن پوءِ اچڻ وارن نسلن ۾ بگاڙ اچي ويو هو.

حضرت شعيبؑ انهن کي چيو تہ جيڪڏهن توهان مؤمن هئڻ جا دعويدار آهيو تہ توهان جي دعويٰ خدا وٽ ان ئي وقت مڃي ويندي، جڏهن توهان پنهنجي دعويٰ جا تقاضا پورا ڪريو. تقاضا پورا ڪرڻ کان بغير دعويٰ جي ڪا قيمت نہ آهي.

توهان جي ايمان جي تقاضا اِها آهي تہ توهان رڳو هڪ الله جي عبادت ڪريو. ڏيتي ليتي ۾ انصاف ڪريو. ٻين جي لاءِ اُهوئي پسند ڪريو جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪريو ٿا. توهان مان هر ماڻهوءَ کي کپي تہ ماڻهن جا حق ٺيڪ ٺيڪ ادا ڪري ۽ ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪمي نہ ڪري. زمين تي اهڙي طرح رهو جيئن خدا چاهي ٿو تہ سندس ٻانها رهن. جائز طريقي سان حاصل ڪيل رزق تي قناعت ڪريو نہ وري نافرماني ڪري گهڻو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. جيڪڏهن توهان ايئن ڪندؤ تہ خدا وٽ مؤمن سڏيا ويندو. نہ تہ اِهو ڊپ آهي تہ خدا جو عذاب توهان کي پڪڙي وٺي.

حضرت شعيبؑ هڪ پاسي ايئن چيو تہ ماڻهن کي گهٽ نہ ڏيو، ٻئي پاسي اِهو فرمايو تہ ”اڄ آئون توهان کي سٺي حال ۾ ڏسي رهيو آهيان“. ان مان خبر پئي ٿي تہ شعيبؑ جي قوم ۾ ڪجھ غريب هئا ۽ ڪجھ امير. ڪجھ ماڻهو گهڻو حاصل ڪرڻ وارا هئا ۽ ڪجھ اُهي هئا جن کي گهٽائي ڏنو پئي ويو، جيڪڏهن سيئي ماڻهو گهٽ حاصل ڪرڻ وارا هجن ها تہ انهن ۾ ”سٺي حال وارو“ باقي ڪير رهي ها.

اُن مان معلوم ٿيو تہ هِتي نبي جن سان مخاطب آهي، اُهي قوم جا با اثر ۽ صاحب حيثيت ماڻهو هئا. نبي جيتوڻيڪ هر هڪ جي هدايت لاءِ ايندا آهن، پر سندن خطاب خاص طور تي وقت جي ممتاز طبقي سان هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ عوام انهن ئي ماڻهن جي تابع هوندو آهي. اُهي گهڻو ڪري پنهنجن وڏن جي نقشي قدم تي هلندا آهن. وڏن ماڻهن تائين دعوت پهچائڻ جڻ تہ عوام تائين بہ دعوت جو پهچائڻ آهي.

قَالُوۡا يٰشُعَيۡبُ اَصَلٰوتُكَ تَاۡمُرُكَ اَنۡ نَّتۡرُكَ مَا يَعۡبُدُ اٰبَآؤُنَاۤ اَوۡ اَنۡ نَّفۡعَلَ فِیۡۤ اَمۡوَالِنَا مَا نَشٰٓؤُا ؕ اِنَّكَ لَاَنۡتَ الۡحَلِيۡمُ الرَّشِيۡدُ ﴿۸۷﴾

انهن چيو تہ اي شعيب! ڇا تنهنجي نماز توکي اِهو سيکاري ٿي تہ اسان انهن شين کي ڇڏي ڏيون جن جي عبادت اسان جا ابا ڏاڏا ڪندا هئا. يا پنهنجي مال ۾ پنهنجي مرضي مطابق جيڪو ڪرڻ چاهيون سو ڇڏي ڏيون. بس تون ئي هڪ عقلمند ۽ سڌي رستي تي هلڻ وارو آهين. ٨٧

---

ڪڏهن ايئن بہ ٿيندو آهي جو ”نماز“ جو لفظ ڳالهائي ان مان دين مراد ورتو آهي. مطلب اهو آهي تہ ڇا توهان جو دين توهان کي اِهڙو حڪم ڏئي رهيو آهي. انهن نماز جو لفظ ان ڪري استعمال ڪيو جو نماز دين جي سيني ڪان واضح علامت آهي (قد يراد بالصلاة الدين- والمعنىٰ دينک بامرک بذلک واطلق عليه الصلاة لانها اظهر شعار الدين- صفوة التفاسير)

حضرت شعيب عليه السلام جي قوم ديندار هئڻ جي دعويٰ ڪندي هئي. اها عبادت بہ ڪندي هئي. پر انهن پنهنجي دين ۾ عبادت سان گڏ شرڪ ۽ هڪٻئي سان معاملن ۾ بي انصافي کي بہ گڏي ڇڏيو هو. حضرت شعيب عليه السلام انهن کي سچي خدا پرستي ۽ ماڻهن سان معاملن ۾ ڀلائي اختيار ڪرڻ جي دعوت ڏني ۽ چيو تہ دين سان گڏ جيڪڏهن شرڪ آهي ۽ عبادت سان گڏ هڪٻئي سان معاملن ۾ بي انصافي بہ جاري آهي تہ اِهڙي دين ۽ اِهڙي عبادت جي خدا وٽ ڪا قيمت نہ آهي.

اِهڙي قسم جي ڳالهين سان قوم جو ديني ڀرم کُلي پوندو آهي. اُن سان سندن فخر تي چوٽ پوندي هئي تہ سڀ ڪجهہ غلط ڪندي بہ اُهي ديندار آهن ۽ عبادت گذاري جو تمغو بہ هر حال ۾ انهن کي مليل آهي، تنهن ڪري هو بگڙي پيا. انهن چيو تہ ڇا تون ئي هڪ خدا جو عبادت گذار آهين. ڇا اسان جا اُهي سڀئي بزرگ جاهل هئا يا آهن جن جي طريقي کي اسان اختيار ڪيو آهي. ڇا تو کانسواءِ ڪنهن کي خبر نہ آهي تہ عبادت ڇا ٿيندي آهي ۽ ان جا تقاضا ڪهڙا آهن. شايد تون سمجهين ٿو تہ رڳو تون ئي دنيا ۾ هڪ سمجهدار ۽ صالح پيدا ٿيو آهين.

شعيب عليه السلام جي قوم کي اُهي ماڻهو وڏيڪ وڏا نظر ايندا هئا جيڪي پراڻي روايتن جي نتيجي ۾ وڏا بڻجي ويا هئا يا جيڪي هاڻي وڏين گادين تي ويٺل هئا. ان ڪري انهن کي حضرت شعيب عليه السلام جي باري ۾ ايئن چوڻ جي جرائت ٿي.

قَالَ يٰقَوۡمِ اَرَءَيۡتُمۡ اِنۡ كُنۡتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنۡ رَّبِّىۡ وَرَزَقَنِىۡ مِنۡهُ رِزۡقًا حَسَنًا ؕ وَمَاۤ اُرِيۡدُ اَنۡ اُخَالِفَكُمۡ اِلٰى مَاۤ اَنۡهٰٮكُمۡ عَنۡهُ ؕ اِنۡ اُرِيۡدُ اِلَّا الۡاِصۡلَاحَ مَا اسۡتَطَعۡتُ ؕ وَمَا تَوۡفِيۡقِىۡۤ اِلَّا بِاللّٰهِ ؕ عَلَيۡهِ تَوَكَّلۡتُ وَاِلَيۡهِ اُنِيۡبُ ﴿۸۸﴾ وَيٰقَوۡمِ لَا يَجۡرِمَنَّكُمۡ شِقَاقِىۡۤ اَنۡ يُّصِيۡبَكُمۡ مِّثۡلُ مَاۤ اَصَابَ قَوۡمَ نُوۡحٍ اَوۡ قَوۡمَ هُوۡدٍ اَوۡ قَوۡمَ صٰلِحٍ ؕ وَمَا قَوۡمُ لُوۡطٍ مِّنۡكُمۡ بِبَعِيۡدٍ ﴿۸۹﴾ وَاسۡتَغۡفِرُوۡا رَبَّكُمۡ ثُمَّ تُوۡبُوۡۤا اِلَيۡهِ ؕ اِنَّ رَبِّىۡ رَحِيۡمٌ وَّدُوۡدٌ ﴿۹۰﴾

شعيب چيو اي منهنجي قوم! ٻڌايو جيڪڏهن آئون پنهنجي رب طرفان هڪ پڌري دليل تي آهيان ۽ ان پنهنجي طرفان مون کي سٺو رزق به عطا ڪيو آهي. ۽ آئون نه ٿو چاهيان ته آئون خود اُهو ڪم ڪريان جنهن کان آئون توهان کي روڪي رهيو آهيان. آئون ته صرف اصلاح ڪرڻ چاهيان ٿو جيستائين ٿي سگهي. ۽ مون کي توفيق ته الله کان ئي ملندي. ان تي ئي مون ڀروسو ڪيو آهي ۽ ان ئي ڏانهن آئون رجوع ڪريان ٿو. ۽ اي منهنجي قوم! ايئن نه ٿئي جو مون سان ضد ڪرڻ سان توهان تي اُها آفت اچي وڃي جيڪا نوح جي قوم يا هود جي قوم يا صالح جي قوم تي آئي هئي ۽ لوط جي قوم ته توهان کان پري به نه آهي. ۽ پنهنجي رب کان معافي گهرو پوءِ ان ڏانهن موٽي اچو. بيشڪ منهنجو رب مهربان ۽ محبت وارو آهي. ٨٨-٩٠

---

مڃڻ جون ٻه صورتون آهن. هڪ آهي تقليدي طور تي مڃڻ، ٻيو صحيح سمجهي مڃڻ. پهرين صورت ۾ ماڻهو ڪنهن ڳالهه کي ان ڪري مڃيندو آهي جو ماڻهو ان کي مڃيندا آهن. ٻي صورت ۾ هو ان کي ان ڪري مڃيندو آهي جو هُن خود دليل جي بنياد تي سمجهيو آهي ته اُها ڳالهه صحيح آهي ۽ پهرين صورت جيڪڏهن رسمي اِقرار آهي ته ٻي صورت شعوري دريافت آهي.

حق جو دليل يا ”شعور“ جي سطح تي ملڻ ئي مؤمن جو اصل سرمايو آهي. اُن سان ئي اُهو زنده يقين حاصل ٿيندو آهي، جڏهن ته ماڻهو هر شيءِ کان بي پرواهه ٿي ماڻهن جي وچ ۾ بيهي ۽ حق جي نمائندگي ڪري سگهي. حق جو شعوري طور تي ملڻ هر ٻي شيءِ جو نعم البدل آهي. جنهن کي اِها نعمت ملي وڃي، ان کي پوءِ ڪنهن ٻي شيءِ جي ضرورت باقي نٿي رهي.

عام ماڻهو ”ماني“ لاءِ جيئندو آهي. مؤمن اُهو انسان آهي جيڪو حق جي دليل تي جيئندو آهي. اِهڙي طرح جو رزق (شعوري دريافت) ملڻ ڪانپوءِ ماڻهو جي لاءِ ناممڪن ٿي ويندو آهي، جو هو ان جي خلاف رويو اختيار ڪري. قول ۽ عمل جو تضاد رسمي ايمان جو نتيجو آهي ۽ قول ۽ عمل جي يڪسانيت شعوري ايمان جو نتيجو.

”شقاق“ جي سمجهاڻي ۾ حضرت حسن بصري جو قول آهي ته منهنجي دشمني توهان کي ايمان جو رستو ڇڏي ڏيڻ تي نه اُڀاري جو ان کان پوءِ توهان کي اُها سزا ملي جيڪا ڪافرن کي ملي (لا يحملنكم معاداتي عليٰ ترك الايمان فيصيبكم مَا اصاب الكفار- القرطبي).

داعي چاڪاڻ ته پنهنجي زماني جي ماڻهن کي هڪ عام انسان نظر ايندو آهي. اُن ڪري ان جي تنقيدي ڳالهين سان اُهي ماڻهو بگڙي پوندا آهن جن کي ماحول ۾ مٿانهين حيثيت حاصل هجي. هڪ معمولي ماڻهو جي اِها جرائت سندن لاءِ ناقابل برداشت ٿي ويندي آهي ته هو انهن تي ۽ انهن جي وڏن تي تنقيد ڪري. اُن ڪري انهن جي اندر داعي جي خلاف ضد ۽ نفرت پيدا ٿي ويندي آهي.

ڪنهن ماڻهو جي اندر اهڙي قسم جي نفسيات جو پيدا ٿيڻ، اُن جو نهايت سخت امتحان ۾ مبتلا ڪيو وڃڻ آهي. چاڪاڻ ته اهڙو ماڻهو هڪ ماڻهو کي حقير سمجهڻ جي ڪري ان طرفان اچڻ واري خدائي ڳالهه کي به حقير سمجهي وٺندو آهي. هو هڪ انسان کي نظر انداز ڪرڻ جي نالي تي خود خدا کي نظر انداز ڪري ڇڏيندو آهي.

قَالُوۡا يٰشُعَيۡبُ مَا نَفۡقَهُ كَثِيۡرًا مِّمَّا تَقُوۡلُ وَ اِنَّا لَنَرٰىكَ فِيۡنَا ضَعِيۡفًا ۚ وَ لَوۡ لَا رَهۡطُكَ

لَرَجَمۡنٰكَ ۫ وَ مَاۤ اَنۡتَ عَلَيۡنَا بِعَزِيۡزٍ ﴿۹۱﴾ قَالَ يٰقَوۡمِ اَرَهۡطِيۡۤ اَعَزُّ عَلَيۡكُمۡ مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَ اتَّخَذۡتُمُوۡهُ وَرَآءَكُمۡ ظِهۡرِيًّا ؕ اِنَّ رَبِّيۡ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ مُحِيۡطٌ ﴿۹۲﴾ وَ يٰقَوۡمِ اعۡمَلُوۡا عَلٰى مَكَانَتِكُمۡ اِنِّيۡ عَامِلٌ ؕ سَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ ۙ مَنۡ يَّاۡتِيۡهِ عَذَابٌ يُّخۡزِيۡهِ وَ مَنۡ هُوَ كَاذِبٌ ؕ وَ ارۡتَقِبُوۡۤا اِنِّيۡ مَعَكُمۡ رَقِيۡبٌ ﴿۹۳﴾

انهن چيو اي شعيب! جيڪو تون چوين ٿو تنهن مان گهڻو حصو اسان جي سمجھ ۾ نه ٿو اچي. ۽ اسان ته ڏسون ٿا ته تون اسان ۾ ڪمزور آهين. ۽ جيڪڏهن تنهنجي برادري نه هجي ها ته اسان توکي سنگسار ڪريون ها. ۽ تون اسان ڪان ڏاڍو نه آهين. شعيب چيو اي منهنجي قوم! ڇا منهنجي برادري توهان تي الله کان وڌيڪ ڳري آهي. ۽ الله کي توهان پٺي ڏئي ڇڏي آهي. بيشڪ منهنجي رب جي قابو ۾ آهي جيڪو ڪجھ توهان ڪري رهيا آهيو. ۽ اي منهنجي قوم! توهان پنهنجي طريقي تي عمل ڪندا رهو ۽ آئون پنهنجي طريقي تي عمل ڪندو رهندس. جلد ئي توهان کي معلوم ٿي ويندو ته ڪنهن تي ذليل ڪرڻ وارو عذاب اچي ٿو ۽ ڪير ڪوڙو آهي. ۽ انتظار ڪريو، آئون به توهان سان گڏ انتظار ڪرڻ وارن مان آهيان. ٩١-٩٣

---

حضرت شعيبؑ کي حديث ۾ خطيب الانبياء چيو ويو آهي، پاڻؑ پنهنجي قوم کي سندن قابل فهم زبان ۾ نهايت مؤثر انداز ۾ سمجهائيندا هئا. پوءِ پاڻؑ جي ڳالھ انهن جي سمجھ ۾ ڇو نه آئي؟ ان جي وجھ اُها هئي ته قوم جو ذهن بگڙيل ويو هو. سندن سوچڻ جو انداز ٻيو هو ۽ حضرت شعيبؑ جي سوچڻ جو انداز ٻيو. ان ڪري پاڻؑ جي ڳالھ انهن جي سمجھ ۾ نه آئي.

قوم انسانن جي وڏائي ۾ گم ٿي چڪي هئي. پاڻؑ انهن کي هڪ الله جي تعظيم ڏانهن سڏيندا هئا. اهي هٿ ٺوڪيل عقيدن کي نجات جو ذريعو سمجهندا هئا، پاڻؑ جو چوڻ هو ته رڳو عمل جي ذريعي نجات ملي سگهي ٿي. قوم جو خيال هو ته هُو پاڻ کي مؤمن سمجهي ٿي، ان ڪري هو مؤمن آهي. پاڻؑ چيو ته مؤمن اُهو آهي جيڪو خدا جي ساهمي ۾ مؤمن قرار ڏنو وڃي. قوم وٽ نماز جي حيثيت رڳو هڪ غير مؤثر قِسم جي رسم هئي. پاڻؑ اعلان ڪيو ته نماز ماڻهوءَ جي زندگي ۽ ان جي آمدني ۽ خرچ جو احتساب ڪندڙ آهي. قوم سمجهندي هئي ته ايمان رڳو هڪ بي روح اقرار آهي، پاڻؑ ٻڌايو ته ايمان اُهو آهي جيڪو هڪ زنده شعور جي تحت حاصل ٿيو هجي.

اهڙي طرح حضرت شعيبؑ ۽ ان جي قوم جي وچ ۾ هڪ قسم جو فاصلو (Gap) پيدا ٿي ويو، اِهوئي ذهني فاصلو قوم جي لاءِ پاڻؑ جي سڌي ۽ سچي ڳالھ کي سمجھڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي ويو.

”جيڪڏهن تنهنجو قبيلو نه هجي ها ته اسان توکي سنگسار ڪري ڇڏيون ها“. اهو جملو ٻڌائي ٿو ته حضرت شعيب جي قوم ڪيتري قدر بي حس ۽ ظاهر پرست ٿي چڪي هئي. اصل ڳالھ اها هئي ته حضرت شعيبؑ جڏهن قوم جي ديني ڀرم کي بي نقاب ڪيو ته قوم جا ماڻهو سندس دشمن بڻجي ويا. ان وقت حضرت شعيبؑ سان گڏ نه عوام جا ميڙ هئا. جو ماڻهن کي روڪين ۽ نه پاڻؑ دولت ۽ حيثيت جا مالڪ هئا، جنهن کي ڏسي ماڻهو رعب ۾ اچن. پاڻؑ وٽ رڳو سچائي ۽ دليل جو زور هو ۽ اهڙن ماڻهن وٽ صرف سچائي ۽ دليل جي ڪا اهميت نه هوندي آهي.

اهڙي حالت ۾ اُهي يقينًا پاڻﷺ تي قاتلاڻو حملو ڪري ڇڏين ها. پر جنهن شيءِ انهن کي اهڙي قسم جي اڳرائي کان روڪيو، اُهو قبيلي جي انتقام جو انديشو هو. قبائلي دور ۾ قبيلي جي ڪنهن ماڻهو کي مارڻ جو مطلب اِهو هو ته قبائلي دستور مطابق سڄو قبيلو ان کان خون جو بدلو وٺڻ لاءِ اٿي بيهي. اِهو انديشو شعيبؑ جي قوم لاءِ پاڻؑ جي خلاف ڪنهن انتهائي قدم کڻڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي ويو. ٺيڪ اهڙي طرح جيئن موجوده زماني ۾ شرير ماڻهن جي شرارت کان اڪثر ماڻهو ان ڪري محفوظ رهندا آهن جو انهن کي انديشو هوندو آهي ته جيڪڏهن انهن کا اڳرائي ڪئي ته انهن کي پوليس ۽ عدالت کي منهن ڏيڻو پوندو.

وَ لَمَّا جَآءَ اَمۡرُنَا نَجَّيۡنَا شُعَيۡبًا وَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مَعَهٗ بِرَحۡمَةٍ مِّنَّا وَ اَخَذَتِ الَّذِيۡنَ ظَلَمُوا الصَّيۡحَةُ فَاَصۡبَحُوۡا فِيۡ دِيَارِهِمۡ جٰثِمِيۡنَ ﴿۹۴﴾ كَاَنۡ لَّمۡ يَغۡنَوۡا فِيۡهَا ؕ اَلَا بُعۡدًا لِّمَدۡيَنَ كَمَا بَعِدَتۡ ثَمُوۡدُ ﴿۹۵﴾

۽ جڏهن اسان جو حڪم آيو اسان شعيب کي ۽ جن ان سان گڏ ايمان آندو هو پنهنجي رحمت سان بچائي ورتو. ۽ جن ماڻهن ظلم ڪيو هو انهن کي سخت ڪڙڪي اچي پڪڙيو. پوءِ هو پنهنجي گهرن ۾ اونڌا پئجي رهيا. ڄڻ ته ڪڏهن انهن ۾ رهيا ئي نه هئا. خبردار! مدين وارن تي ڦٽڪار هجي جهڙي ثمود جي قوم تي لعنت ٿي. ٩٤-٩٥

حضرت شعيبؑ جي قوم جا ماڻهو سمجهندا هئا ته هو مدين جا مالڪ آهن، جيڪا شيءِ انهن کي امتحان جي مصلحت طور ڏني وئي هئي، ان کي انهن پنهنجو مستقل حق سمجهي ورتو. ان احساس جي ڪري انهن پاڻؑ جي خلاف جارحاڻيون تدبيرون ڪيون. انهن پاڻؑ کي اها ڌمڪي به ڏني ته اسان توکي ۽ تنهنجي ساٿين کي پنهنجي سرزمين مان ڪڍي ڇڏينداسون. (الاعراف: ٨٨). پر ساڳئي زمين جنهن کي هو پنهنجي زمين سمجهندا هئا ۽ جنهن جا اُهي مالڪ بڻيل هئا. اتي خدا جي حڪم سان هولناڪ ڪڙڪي سان زلزلو آيو. جنهن جي نتيجي ۾ اِهو سڄو علائقو تباهه ٿي ويو. اُهي خود پنهنجي دنيا ۾ اهڙي طرح مٽجي رهجي ويا ڄڻ ته ڪڏهن سندن وجود ئي نه هو.

البت قوم جا اهي ماڻهو جن حضرت شعيبؑ جي ڳالهه مڃي هئي ۽ پاڻؑ سان گڏجي ويا هئا، انهن کي خاص مدد سان بچايو ويو.

وَ لَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا مُوۡسٰى بِاٰيٰتِنَا وَ سُلۡطٰنٍ مُّبِيۡنٍ ﴿۹۶﴾ اِلٰى فِرۡعَوۡنَ وَ مَلَا۠ئِهٖ فَاتَّبَعُوۡۤا اَمۡرَ فِرۡعَوۡنَ ۚ وَمَاۤ اَمۡرُ فِرۡعَوۡنَ بِرَشِيۡدٍ ﴿۹۷﴾ يَقۡدُمُ قَوۡمَهٗ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ فَاَوۡرَدَهُمُ النَّارَ ؕ وَ بِئۡسَ الۡوِرۡدُ الۡمَوۡرُوۡدُ ﴿۹۸﴾ وَ اُتۡبِعُوۡا فِيۡ هٰذِهٖ لَعۡنَةً وَّ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ ؕ بِئۡسَ الرِّفۡدُ الۡمَرۡفُوۡدُ ﴿۹۹﴾

۽ اسان موسيٰ کي پنهنجن نشانين ۽ واضح سَنَدَ سان موڪليو فرعون ۽ سندس سردارن ڏانهن. پوءِ اُهي فرعون جي حڪم تي هليا حالانڪ فرعون جو حڪم صحيح نه هو. قيامت جي ڏينهن هو پنهنجي قوم جي اڳيان هوندو ۽ انهن کي باهه تائين پهچائيندو ۽ ڪيڏو بڇڙو گهاٽ آهي جنهن تي اُهي پهچندا. ۽ هن دنيا ۾ انهن تي لعنت ڪئي وئي ۽ قيامت جي ڏينهن به. ڪهڙو برو انعام آهي جيڪو انهن کي مليو. ٩٦-٩٩

حضرت موسيٰؑ حق جي دعوت آخري حد تائين پيش ڪري ڇڏي. هُن فرعون ۽ ان جي ساٿين کي نہ رڳو نظرياتي طور بي دليل ڪري ڇڏيو. بلڪ عصا جي معجزن جي صورتن ۾ پنهنجي صداقت جو ظاهري ثبوت بہ انهن کي ڏيکاريو، پوءِ بہ فرعون جي قوم فرعون سان گڏ ئي رهي، اُها حضرت موسيٰ جو ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار نہ ٿي.

ان جي وجھ اِها هئي تہ انهن ماڻهن وٽ سڀ اهميت اقتدار ۽ دنياوي سازو سامان جي هئي ۽ اُهي شيون هو حضرت موسيٰؑ وٽ نہ ڏسندا هئا. اُهي پاڻؑ جي ڳالهين تي حيران ضرور ٿيندا هئا. پر جڏهن هو حضرت موسيٰؑ جو مقابلو فرعون سان ڪندا هئا تہ انهن کي هڪ پاسي ڪا وڏائي ڏسڻ ۾ نہ ايندي هئي ۽ ٻئي طرف هر قسم جو مادي شان و شوڪت ڏسڻ ۾ ايندو هو. اُهو فرق سندن لاءِ فيصلو ڪندڙ بڻجي ويو ۽ اُهي دليل ۽ معجزا ڏسڻ جي باوجود ان لاءِ تيار نہ ٿيا جو فرعون کي ڇڏي ڏين ۽ ان کان الڳ ٿي حضرت موسيٰؑ جو ساٿ ڏين.

جيڪي ماڻهو دنيا ۾ ڪنهن جو ساٿ رڳو ان لاءِ ڏين تہ ان وٽ مادي وڏائي جون شيون آهن، اُهي آخرت ۾ بہ انهيءَ سان گڏ ڪيا ويندا. پر دنيا جي ابتڙ اِهو انتهائي برو گڏجڻ هوندو. ڇاڪاڻ ان ڏينهن ان ماڻهو کان ان جو سڀ سامان کسجي چڪو هوندو. هاڻي ان جو وجود صرف ذلت ۽ بربادي جو نشان هوندو. هو پنهنجي ساٿين کي بہ انهي باهہ ۾ پهچائي ڇڏيندو جيڪا خود ان جي لاءِ ان جي گمراهہ قيادت جي نتيجي ۾ خدا طرفان ان جي لاءِ مقدر ٿي چڪي آهي.

ذٰلِكَ مِنۡ اَنۡۢبَآءِ الۡقُرٰى نَقُصُّهٗ عَلَيۡكَ مِنۡهَا قَآئِمٌ وَّ حَصِيۡدٌ ۝١٠٠ وَ مَا ظَلَمۡنٰهُمۡ وَ لٰكِنۡ ظَلَمُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ فَمَاۤ اَغۡنَتۡ عَنۡهُمۡ اٰلِهَتُهُمُ الَّتِىۡ يَدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مِنۡ شَىۡءٍ لَّمَّا جَآءَ اَمۡرُ رَبِّكَ ؕ وَمَا زَادُوۡهُمۡ غَيۡرَ تَتۡبِيۡبٍ ۝١٠١

اِهي وسندين جون ڪجھ خبرون آهن جيڪي اسان توکي ٻڌائي رهيا آهيون. انهن مان ڪجھ اجا تائين قائم آهن ۽ ڪجھ ناس ٿي چڪيون آهن. ۽ اسان انهن تي ظلم نہ ڪيو. بلڪ انهن خود پاڻ تي ظلم ڪيو. پوءِ جڏهن تنهنجي رب جو حڪم اچي ويو تہ سندن معبود سندن ڪجھ ڪم نہ آيا جن کي هو الله کانسواءِ پڪاريندا هئا. ۽ انهن سندن حق ۾ بربادي کانسواءِ ڪو ٻيو ڪجھ واڌارو نہ ڪيائون. ١٠٠-١٠١

---

قديم تاريخ ۾ بادشاهن ۽ فوجي جنرلن جون خبرون درج آهن، پر نبين ۽ سندن قومن جون خبرون ڪنهن تاريخ ۾ درج نہ آهن. ٻئي پاسي قرآن کي ڏسجي تہ اُن ۾ سڀني کان وڌيڪ اهتمام سان نبين ۽ سندن قومن جون خبرون ملنديون آهن. باقي ڳالهيون قرآن اهڙي طرح نظر انداز ڪري ڇڏيون آهن جيئن اُن جي نظر ۾ انهن جي ڪا اهميت نہ آهي. انسان جيڪا تاريخ لکي اُن ۾ هُن اُهائي ڳالهہ ڇڏي ڏني جيڪا خالق وٽ سڀني کان وڌيڪ قابل ذڪر هئي.

نبوت جي دور ۾ انهن تباهہ ٿيل وسندين ۾ ڪجھ وسنديون اِهڙيون آهن جيڪي اجا تائين آباد آهن. جيئن مصر جيڪو فرعون جو مقام هو، ٻئي پاسي هود جي قوم ۽ لوط جهڙيون قومون آهن، جن جون وسنديون پنهنجن ماڻهن سميت ناس ٿي ويون. البت ڪٿي ڪٿي ڪجھ نشان ڪنڊر جي صورت ۾

بيٺا آهن يا زمين جي ڪوٺائي ڪندي ظاهر ٿيا آهن.

انهن وسندين ڪي تباهہ ڪيو ويڻ بظاهر هڪ ظالماڻو واقعو معلوم ٿيندو آهي. پر جڏهن ڏسجي تہ ايئن ڇو ٿيو تہ اُهو عين حقيقت ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڇاڪاڻ تہ اِهي سندن بد عملي جا نتيجا هئا. جيڪو ڪجهہ ٿيو سو سندن بدڪرداريءَ ڪانپوءِ ٿيو، نہ وري سندن بدڪرداري کان پهرين.

جڏهن بہ ماڻهو سرڪشي ۽ ظلم ڪندو آهي تہ هو ڪنهن ڀروسي تي ڪندو آهي. هو ڪجهہ شين يا هستين کي پنهنجو سهارو سمجهي وٺندو آهي ۽ خيال ڪندو آهي تہ اِهي ئي مشڪل وقت ۾ سندس مددگار ثابت ٿيندا. پر اِهي سهارا ان وقت تائين سهارا آهن، جيستائين خدا مهلت ڏئي رهيو هجي. جڏهن خدا جي قانون مطابق مهلت جو وقت ختم ٿي وڃي ۽ خدا پنهنجو آخري فيصلو ظاهر ڪري ڇڏي، ان وقت ماڻهو کي خبر پوندي آهي تہ اُهي سڀ رڳو ڪوڙا گمان هئا جن کي هُن پنهنجي ناداني جي ڪري سهارو سمجهي ورتو هو.

وَ كَذٰلِكَ اَخۡذُ رَبِّكَ اِذَاۤ اَخَذَ الۡقُرٰى وَ هِىَ ظَالِمَةٌ ؕ اِنَّ اَخۡذَهٗۤ اَلِيۡمٌ شَدِيۡدٌ ﴿۱۰۲﴾ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّمَنۡ خَافَ عَذَابَ الۡاٰخِرَةِ ؕ ذٰلِكَ يَوۡمٌ مَّجۡمُوۡعٌ ۙ لَّهُ النَّاسُ وَ ذٰلِكَ يَوۡمٌ مَّشۡهُوۡدٌ ﴿۱۰۳﴾ وَ مَا نُؤَخِّرُهٗۤ اِلَّا لِاَجَلٍ مَّعۡدُوۡدٍ ؕ ﴿۱۰۴﴾ يَوۡمَ يَاۡتِ لَا تَكَلَّمُ نَفۡسٌ اِلَّا بِاِذۡنِهٖ ۚ فَمِنۡهُمۡ شَقِىٌّ وَّ سَعِيۡدٌ ﴿۱۰۵﴾

۽ تنهنجي رب جي پڪڙ اِهڙي ئي آهي، جڏهن هو وسندين کي سندن ظلم تي پڪڙيندو آهي. بيشڪ اُن جي پڪڙ وڏي دردناڪ ۽ سخت آهي. اُن ۾ اُنهن ماڻهن لاءِ نشاني آهي جيڪي آخرت جي عذاب کان ڊڄن. اُهو هڪ اهڙو ڏينهن آهي، جنهن ۾ سڀ ماڻهو گڏ ٿيندا ۽ اُهو حاضري جو ڏينهن هوندو. ۽ اسان اُن کي هڪ مدت جي لاءِ ٽاري رهيا آهيون جيڪو مقرر آهي. جڏهن اُهو ڏينهن ايندو تہ ڪو جيءُ ان جي اجازت کانسواءِ ڪلام نہ ڪري سگهندو. پوءِ انهن ۾ ڪجهہ بدبخت هوندا ۽ ڪجهہ نيڪ بخت. ١٠٢-١٠٥

---

موجوده دنيا ۾ انسان کي رهڻ ۽ آباد ٿيڻ جو موقعو صرف امتحان جي ڪري حاصل آهي. پيغمبرن جي ذريعي حجت پوري ٿيڻ ڪانپوءِ بہ جيڪي ماڻهو منڪر بڻجي رهن، اُهي خدا جي زمين ۾ وڌيڪ رهڻ جو حق وڃائي ڇڏيندا آهن. اِهائي وجهہ آهي جو پيغمبرن کي نہ مڃڻ وارن کي خدا هلاڪ ڪري ڇڏيو (العنڪبوت: ٤٠). اِها هلاڪت گهڻو ڪري اِهڙي طرح ٿي جو عام قسم جي زميني آفتن ۾ شدت پيدا ڪئي وئي، مثلاً طوفان، سيلاب يا زلزلا جيڪي عام حالتن ۾ هڪ حد جي اندر هوندا آهن. انهن کي غير محدود طور تي شديد ڪيو ويو.

ماضي ۾ اهڙي طرح قومن جي تباهي جي واقعن کي جاگرافي ۽ تاريخ جا عالم موسمن جي تبديلي (Climatic Pulsations) جو نالو ڏيندا آهن. جڻ تہ جيڪو ڪجهہ ٿيو اهو رڳو جاگرافيائي اُٿل پٿل جي نتيجي ۾ ٿيو. جيتوڻيڪ هو اُنهن واقعن جو ڪو سبب نہ ٿا ٻڌائي سگهن تہ اِهڙي قسم جون شديد موسمي تبديليون رڳو ماضي ۾ ڇو پيش آيون. اُهي هاڻي (ختم نبوت ڪانپوءِ) ڇو پيش نہ ٿيون اچن.

حقيقت اها آهي تہ اُهي واقعا سادي معنيٰ ۾ رڳو جاگرافيائي واقعا نہ هئا. بلڪ اُهي خدا جي حڪم جو ظهور هئا. انهن واقعن مان اهو ثابت ٿيندو آهي تہ موجوده دنيا جو نظام عدل تي قائم آهي.

هِتي خود قدرت جي قانون موجب لازمي طور تي ايئن ٿيڻ وارو آهي تہ ظالم پنهنجي ظلم جي سزا پوڳي ۽ عدل ڪرڻ واري کي پنهنجي عدل جو انعام ملي. انهن واقعن کي موسمي تبديليون چوڻ انهن کي جاگرافي سان نسبت ڏئي ڇڏڻ آهي. اُن جي ابتڙ انهن کي خدائي اُٿل پٿل مڃيو وڃي تہ اِهي ماڻهو جي اندر خدا جي خوف ۽ آخرت جي فڪر جو زبردست سبق بڻجي ويندا.

پيغمبرن جي زماني ۾ جيڪي واقعا پيش آيا، اُهي چڻ تہ وڏي قيامت کان پهرين اُن جي ننڍي نشاني هئا. انهن ۾ ايئن ٿيو جو منڪرن کي هڪ مدت تائين مهلت ڏني وئي. اُن کان پوءِ خدا جو فيصلو ظاهر ٿيو تہ سڀ جا سڀ هلاڪ ڪيا ويا، صرف اُهي ماڻهو بچي سگهيا جيڪي حق جو ساٿ ڏيڻ جي ڪري خدا وٽ نيڪ بخت قرار ڏنا ويا هئا. انهن کان سواءِ جيڪي ماڻهو خدا جي ساهمي ۾ سرڪش ۽ بدبخت هئا، اُهي لازمي طور تي عذاب جي پڪڙ ۾ اچي ويا. ايستائين جو پيغمبرن جي سفارش بہ انهن کي بچائي نہ سگهي. جهڙي طرح حضرت نوح ؑ ۽ ابراهيم ؑ جي مثال مان ثابت ٿئي ٿو.

فَاَمَّا الَّذِيۡنَ شَقُوۡا فَفِى النَّارِ لَهُمۡ فِيۡهَا زَفِيۡرٌ وَّ شَهِيۡقٌ ﴿١٠٦﴾ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَا مَا دَامَتِ
السَّمٰوٰتُ وَ الۡاَرۡضُ اِلَّا مَا شَآءَ رَبُّكَ ؕ اِنَّ رَبَّكَ فَعَّالٌ لِّمَا يُرِيۡدُ ﴿١٠٧﴾ وَ اَمَّا الَّذِيۡنَ سُعِدُوۡا
فَفِى الۡجَنَّةِ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَا مَا دَامَتِ السَّمٰوٰتُ وَ الۡاَرۡضُ اِلَّا مَا شَآءَ رَبُّكَ ؕ عَطَآءً غَيۡرَ
مَجۡذُوۡذٍ ﴿١٠٨﴾ فَلَا تَكُ فِىۡ مِرۡيَةٍ مِّمَّا يَعۡبُدُ هٰٓؤُلَآءِ ؕ مَا يَعۡبُدُوۡنَ اِلَّا كَمَا يَعۡبُدُ اٰبَآؤُهُمۡ مِّنۡ
ع ١٤ قَبۡلُ ؕ وَ اِنَّا لَمُوَفُّوۡهُمۡ نَصِيۡبَهُمۡ غَيۡرَ مَنۡقُوۡصٍ ﴿١٠٩﴾

پوءِ جيڪي بدبخت آهن اُهي باهہ ۾ هوندا. اُن ۾ سندن رڙيون ۽ دانهون هونديون. اُهي ان ۾ رهندا جيستائين آسمان ۽ زمين قائم آهن، پر جيڪو تنهنجو رب چاهي. بيشڪ تنهنجو رب جيڪي چاهي ٿو سو ڪري ٿو ۽ جيڪي ماڻهو نيڪ بخت آهن سي جنت ۾ هوندا، اُهي اُن ۾ رهندا جيستائين آسمان ۽ زمين قائم آهن، پر جيڪو تنهنجو رب چاهي، (اِها) بخشش اڻ کٽ آهي. تنهن ڪري جن جي اِهي ماڻهو عبادت ڪري رهيا آهن انهن بابت تون شڪ نہ ڪر. اِهي تہ بس اِهڙي طرح عبادت ڪري رهيا آهن جهڙي طرح انهن کان اڳ ۾ سندن ابا ڏاڏا عبادت ڪندا رهيا هئا. ۽ اسان کين سندن حصو پورو پورو ڏينداسون بغير ڪنهن ڪمي جي. ١٠٦-١٠٩

---

قرآن ۾ سيني کان وڏيڪ اهميت جنهن شيءِ کي ڏني وئي آهي ۽ جنهن شيءِ جو ذڪر سيني کان وڌيڪ ڪيو ويو آهي اُها اِها آهي تہ انسان پنهنجي موجوده حالت تي ڇڏيا نہ ويندا، بلڪ موت کان پوءِ خدا جي عدالت ۾ حاضر ڪيا ويندا. اُتي هر هڪ پنهنجي ڪارڪردگي جي مطابق جنت يا دوزخ ۾ وڌو ويندو.

هِن اهميت ۽ تڪرار جو سبب ماڻهن جو ”شڪ“ آهي ماڻهو ڏسندا آهن تہ زمين ۾ بيشمار انسان اِهڙا آهن جيڪي خدا جي هدايت کي نہ ٿا مڃين. بيشمار انسان اِهڙا آهن جيڪي خدا جي هدايت کان آزاد ٿي عمل ڪندا آهن. اڪثر انسان خدا جي پسند واري زندگي جي بجاءِ خودپسندي واري زندگي گذاري رهيا آهن ۽ پوءِ بہ سندن ڪجهہ نہ ٿو بگڙي، پوءِ بہ سيئي ماڻهو ڪامياب آهن. بظاهر دنيا ۾ ڪٿي

بہ ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي، تہ خدا جي وفادارن کي ڪو خاص انعام ملي رهيو آهي يا خدا جي نافرمانن کي ڪا خاص سزا ملي رهي آهي.

ان ڪري ماڻهن کي شڪ ٿيڻ لڳندو آهي. انهن کي يقين نہ ٿو اچي تہ انسانن جو جيڪو انجام مسلسل اُهي پنهنجن اکين سان ڏسي رهيا آهن، ان ڪانسواءِ بہ ڪو انجام سندن لاءِ مقدر آهي. هِتي قرآن ٻڌائي ٿو تہ ماڻهن جو مسلسل ناحق تي هلڻ ان ڪري نہ آهي جو انهن مسئلي جي سيني پهلوئن تي غور ڪيو ۽ پوءِ اُن کي عقل جي مطابق صحيح سمجهي اختيار ڪري ورتو، بلڪ ان جو سبب اصل ۾ رواج جي پيروي آهي نہ وري دليل ۽ عقل جي پيروي.

ان جي باوجود ماڻهن جي عمل جو نتيجو انهن جي سامهون نہ ٿو اچي تہ ان جو سبب امتحان مهلت جو ملڻ آهي. زمين تي موت کان پهرين واري زندگي امتحان واري زندگي آهي، اُن ڪري موت تائين انسان کي هِتي پِر ڏني پئي وڃي تہ هو جيڪو چاهي ڳالهائي ۽ جيڪو چاهي ڪري. موت اُن مهلت جي مقرر مدت جو خاتمو آهي. موت جو مطلب اِهو آهي تہ انسان کي امتحان جي مقام کان ڪٽي عدالت جي مقام تي پهچايو وڃي. اُتي هر هڪ کي اهوئي ملندو جنهن جو هو حقيقت ۾ مستحق هو ۽ هر هڪ کان اُهو کسجي ويندو، جنهن کي اُن مستحق هئڻ جي بغير پاڻ وٽ جمع ڪري رکيو هو.

وَ لَقَدۡ اٰتَيۡنَا مُوۡسَى الۡكِتٰبَ فَاخۡتُلِفَ فِيۡهِ ؕ وَ لَوۡ لَا كَلِمَةٌ سَبَقَتۡ مِنۡ رَّبِّكَ لَقُضِىَ
بَيۡنَهُمۡ ؕ وَ اِنَّهُمۡ لَفِىۡ شَكٍّ مِّنۡهُ مُرِيۡبٍ ﴿۱۱۰﴾ وَ اِنَّ كُلًّا لَّمَّا لَيُوَفِّيَنَّهُمۡ رَبُّكَ اَعۡمَالَهُمۡ ؕ اِنَّهٗ
بِمَا يَعۡمَلُوۡنَ خَبِيۡرٌ ﴿۱۱۱﴾

۽ اسان موسيٰ کي ڪتاب ڏنو. پوءِ اُن ۾ اختلاف پئجي ويو. ۽ جيڪڏهن تنهنجي رب طرفان اڳ ۾ ئي هڪ ڳالهہ مقرر ٿيل نہ هجي ها، تہ انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪري ڇڏجي ها. ۽ انهن کي اُن بابت شڪ آهي جيڪو مطمئن ٿيڻ نہ ٿو ڏي ۽ يقيناً تنهنجو رب هر هڪ کي اُن جي عملن جو پورو بدلو ڏيندو. هو باخبر آهي ان کان جيڪو هو ڪري رهيا آهن. ١١٠-١١١

---

”موسيٰ جي ڪتاب ۾ اختلاف“ جو مطلب اِهو آهي تہ هُن جا مخاطب اُن جي بيانن جي باري ۾ مختلف رايا رکندڙ بڻجي ويا. انهن مان ڪجهہ ماڻهن ڪوڙو ڪيو ۽ ڪجهہ ماڻهن تسليم ڪيو (فاختلف في ذلک الکتاب، فکذّب بہ بعضهم وصدّق بہ بعضهم - الطبري)

جڏهن بہ ڪا ڳالهہ ڪئي وڃي تہ ماڻهو اُن جي باري ۾ هميشہ ٻن شين جي وچ ۾ هوندو آهي. هڪ صحيح تعبير، ٻي غلط تعبير. جيڪڏهن ٻڌڻ وارا حقيقت ۾ سنجيده هوندا تہ هو هميشہ هڪ ئي صحيح تعبير تائين پهچندا، سندن سنجيدگي سندن لاءِ راين ۾ اتحاد جي ضامن بڻجي ويندي. ان جي ابتڙ جيڪڏهن اُهي ڳالهہ جي باري ۾ سنجيده نہ هجن تہ هو ان کي ڪا خاص اهميت نہ ڏيندا ۽ پنهنجي پنهنجي خيال مطابق ان جون مختلف تعبيرون ڪندا. ڪو هڪڙي ڳالهہ چوندو، ڪو ٻي ڳالهہ. اِهڙي طرح سندن غير سنجيدگي انهن کي اختلاف راءِ تائين پهچائي ڇڏيندي.

اِها صورتحال سيني پيغمبرن سان پيش آئي. ان جي باوجود خدا ان کي درگذر ڪندو رهيو. ان

جي وجھ اِھا آھي جو خدا موجوده دنيا کي عمل جي جاءِ بڻايو آھي ۽ اڳيان اچڻ واري دنيا کي بدلي ملڻ جي جاءِ. خدا جي اِھا ئي سنت آھي، جنھن جي ڪري ماڻھن کي مڪمل آزادي مليل آھي. موجوده صورتحال ھِن ئي امتحان جي مھلت جي ڪري آھي نہ وري خدا جي عجز يا ماڻھن جي استحقاق جي ڪري.

فَاسۡتَقِمۡ كَمَاۤ اُمِرۡتَ وَ مَنۡ تَابَ مَعَكَ وَ لَا تَطۡغَوۡا ؕ اِنَّهٗ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ بَصِيۡرٌ ﴿١١٢﴾ وَ لَا تَرۡكَنُوۡۤا اِلَى الَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا فَتَمَسَّكُمُ النَّارُ ۙ وَ مَا لَكُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مِنۡ اَوۡلِيَآءَ ثُمَّ لَا تُنۡصَرُوۡنَ ﴿١١٣﴾ وَ اَقِمِ الصَّلٰوةَ طَرَفَيِ النَّهَارِ وَ زُلَفًا مِّنَ الَّيۡلِ ؕ اِنَّ الۡحَسَنٰتِ يُذۡهِبۡنَ السَّيِّاٰتِ ؕ ذٰلِكَ ذِكۡرٰى لِلذّٰكِرِيۡنَ ﴿١١٤﴾ وَ اصۡبِرۡ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيۡعُ اَجۡرَ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿١١٥﴾

پوءِ تون ثابت قدم رھ جيئن تہ توکي حڪم ڪيو ويو آھي ۽ اُھي بہ جن تو سان گڏ توبھ ڪئي آھي ۽ حد کان نہ وڌو. بيشڪ ھو ڏسي رھيو آھي جيڪو توھان ڪندا آھيو. ۽ انھن ڏانھن نہ جُھڪو جن ظلم ڪيو، نہ تہ توھان کي باھ پڪڙي ونندي ۽ الله کانسواءِ توھان جو ڪو مددگار نہ آھي، پوءِ توھان کي ڪٿان بہ مدد نہ ملندي ۽ نماز قائم ڪريو ڏينھن جي ٻنھي حصن ۾ ۽ رات جي ڪجھ حصي ۾. بيشڪ نيڪيون برايون کي پري ڪنديون آھن. اِھا نصيحت آھي نصيحت حاصل ڪرڻ وارن جي لاءِ. ۽ صبر ڪريو، الله نيڪي ڪرڻ وارن جو اجر ضايع نہ ٿو ڪري. ١١٢-١١٥

---

حق جي دعوت جو ابتدائي استقبال اُن کي نظر انداز ڪرڻ جي صورت ۾ ٿيندو آھي. اُن کان پوءِ مخالفت شروع ٿيندي آھي، ايستائين جو مخالفت پنھنجي آخري حد تائين پھچي ويندي آھي. اِھو داعين جي لاءِ وڏو نازڪ وقت ھوندو آھي. اُن وقت سندن وچ ۾ ٻن قسمن جا ذھن پيدا ٿيندا آھن. ڪجھ ماڻھو ڪاوڙجي اِھو چاھيندا آھن تہ مخالفن سان ٽڪرائجي ۽ انھن ماڻھن سان طاقت جي ذريعي مقابلو ڪجي جن لاءِ نظرياتي دليل بي اثر ثابت ٿيا آھن. ٻيو ذھن اُھو آھي جيڪو ھي سوچي ٿو تہ مخاطبن لاءِ دعوت کي قابل قبول بڻائڻ لاءِ اُن دعوت ۾ ڪجھ ترميم ڪري ونجي. دعوت جي اُن حصي جو ذڪر نہ ڪيو وڃي جن کي ٻڌي مخاطب بگڙي ويندا آھن.

پھريون رويو جيڪڏھن حد کان وڌيو آھي تہ ٻيو رويو باطل سان مصلحت ڪرڻ آھي ۽ اِھي ٻئي رويا الله جي نظر ۾ غلط آھن. خاص طور تي ٻي شيءِ (قابل قبول بڻائڻ لاءِ تبديلي ڪرڻ) تہ جرم جو درجو رکندي آھي. ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ کي سيني کان وڌيڪ جيڪا شيءِ گھربل آھي، اُھو حق جو اعلان آھي ۽ مصلحت جي صورت ۾ حق جو پڌرو اعلان نہ ٿو ڪري سگھجي.

دعوت جي راھ ۾ جڏھن بہ ڪا مشڪل پيش اچي تہ داعي کي کپي تہ خدا ڏانھن وڌ کان وڌ رجوع ڪري، ڇاڪاڻ تہ سڀ ڪجھ ڪرڻ وارو اُھوئي آھي. خدا جي مدد ئي سيني مشڪلن جي حل جو واحد يقيني ذريعو آھي.

فَلَوۡ لَا كَانَ مِنَ الۡقُرُوۡنِ مِنۡ قَبۡلِكُمۡ اُولُوۡا بَقِيَّةٍ يَّنۡهَوۡنَ عَنِ الۡفَسَادِ فِى الۡاَرۡضِ اِلَّا قَلِيۡلًا مِّمَّنۡ اَنۡجَيۡنَا مِنۡهُمۡ ۚ وَ اتَّبَعَ الَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا مَاۤ اُتۡرِفُوۡا فِيۡهِ وَ كَانُوۡا مُجۡرِمِيۡنَ ﴿١١٦﴾ وَ

مَا كَانَ رَبُّكَ لِيُهۡلِكَ الۡقُرٰى بِظُلۡمٍ وَّ اَهۡلُهَا مُصۡلِحُوۡنَ ﴿١١٧﴾

پوءِ ڇو نہ ايئن ٿيو جو توهان کان اڳ جي قومن ۾ اهڙا سمجھدار هجن ها جيڪي ماڻهن کي زمين ۾ فساد ڪرڻ کان روڪين ها. پر ڪي ٿورڙا اُٿيا جن کي اسان منجهائن بچائي ورتو. ۽ ظالم ماڻهو تہ ان ئي عيش ۾ پيل رهيا جيڪو انهن کي مليو هو ۽ اُهي مجرم هئا. ۽ تنهنجو رب اهڙو نہ آهي جو هو وسندين کي ناحق تباھ ڪري ڇڏي جڏهن تہ اُتي جا رهاڪو اصلاح ڪرڻ وارا هجن. ١١٦-١١٧

هِتي اڳين مان مراد ماضي جون امتون آهن. پر ساڳي لفظن ۾ ماضي جون مسلمان قومون. قوم جو بگاڙ هميشہ اِهڙي طرح ٿيندو آهي تہ جيڪو دنياوي سامان خدا طرفان انهن کي ان ڪري ڏنو ويو هو تہ اُن سان انهن جي اندر شڪر جو جذبو پيدا ٿئي، اِهو سندن لاءِ سرڪشي ۽ دنيا پرستي پيدا ڪرڻ جو ذريعو بڻجي ويندو آهي.

اهڙي حالت ۾ مسلمان قوم جي اصلاح جي لاءِ جيڪو ڪم ڪرڻو آهي، ان جو نالو شريعت ۾ امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر آهي. اِهو حڪم هڪ مسلمان جي اُن ذميداري کي ٻڌائي ٿو جيڪو پنهنجي قريب جي ماحول جي اصلاح ڪرڻ جي سلسلي ۾ اُن تي لازم ٿيندو آهي. ان مان مراد اِها آهي تہ مسلم معاشري ۾ هميشہ اهڙا ماڻهو موجود هجڻ کپن جيڪي مسلمانن کي خدا ۽ آخرت جي ياد ڏيارين. اُهي سندن اخلاق جي نگراني ڪن. هو هڪٻئي سان معاملن ۾ انهن کي سڌي راھ تي قائم رکڻ جي ڪوشش ڪن.

ڪنهن قوم ۾ اِهڙن اهلِ خير جو نہ هجڻ هميشہ ٻن سببن جي ڪري هوندو آهي. يا تہ پوري جي پوري قوم بگڙي چڪي هجي ۽ اُن ۾ ڪو صالح انسان باقي نہ رهيو هجي يا صالح ماڻهو موجود تہ هجن، پر عام بگاڙ جي ڪري اُهي زبان کولڻ جي همت نہ ڪندا هجن. انهن کي خوف هجي تہ جيڪڏهن انهن سچي ڳالھ ڪئي تہ قوم جي وچ ۾ اهي بي عزت ٿي رهجي ويندا.

مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي صورتن ۾ قوم خدا جي نظر ۾ پنهنجو اعتبار وڃائي ڇڏيندي آهي ۽ اُن جي مستحق ٿي ويندي آهي تہ هڪ يا ٻي صورت ۾ اُها خدا جي عذاب جي پڪڙ ۾ اچي وڃي.

وَلَوۡ شَآءَ رَبُّكَ لَجَعَلَ النَّاسَ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلَا يَزَالُوۡنَ مُخۡتَلِفِيۡنَ ﴿١١٨﴾ اِلَّا مَنۡ رَّحِمَ رَبُّكَ ؕ وَلِذٰلِكَ خَلَقَهُمۡ ؕ وَتَمَّتۡ كَلِمَةُ رَبِّكَ لَاَمۡلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنَ الۡجِنَّةِ وَالنَّاسِ اَجۡمَعِيۡنَ ﴿١١٩﴾

۽ جيڪڏهن تنهنجو رب چاهي ها تہ ماڻهن کي هڪ ئي امت ڪري ڇڏي ها، پر اُهي هميشہ اختلاف ۾ رهندا سواءِ انهن جي جن تي تنهنجو رب رحم فرمائي. ۽ هُن اُن لاءِ ئي ڪين پيدا ڪيو آهي. ۽ تنهنجي رب جي ڳالھ پوري ٿي تہ آئون جهنم کي جنن ۽ انسانن کي گڏي ڀريندس. ١١٨-١١٩

اسان جي دنيا ۾ انسان کانسواءِ بيشمار ٻي مخلوق بہ آهي. اِهي سڀ هميشہ فطرت جي هڪ ئي مقرر رستي تي هلنديون آهن. اهڙي طرح انسان کي بہ خدا هڪ ئي صراط مستقيم جو پابند بڻائي پيو سگهي. پر انسان جي باري ۾ خدا جي اِها اسڪيم ئي نہ هئي. انسان جي سلسلي ۾ خدا جو منصوبو اهو هو تہ هڪ اِهڙي مخلوق پيدا ڪئي وڃي، جيڪا خود پنهنجي اختيار جي آزادي کي استعمال ڪندي هڪ شيءِ کي اپنائي ۽ ٻي شيءِ کي ڇڏي ڏي. انسان جي دنيا ۾ اختلاف (ڪنهن جو هڪ رستي تي هلڻ

۽ ڪنهن جو ٻئي رستي تي) اصل ۾ اُن ئي خدائي منصوبي جي ڪري آهي.

اِهو منصوبو يقينًا خطري کان خالي منصوبو نه هو. ڇاڪاڻ ته ان جو مطلب اِهو هو ته ڪيترائي ماڻهو آزاديءَ جو غلط استعمال ڪري پنهنجي پاڻ کي جهنم جو مستحق بڻائي وٺندا. پر ان ئي خطري واري منصوبي جي ذريعي اُهي اعليٰ روح به چوندجي سگهجن پيا جيڪي خدا جي خاص رحمت جا مستحق قرار ڏنا وڃن. خدا پنهنجون رحمتون سڀي ڪائنات کي بطور عطيو ڏنيون آهن. هاڻي خدا هِي منصوبو ان ڪري ٺاهيو ته جيئن هو پنهنجي رحمت پنهنجي هڪ مخلوق کي اِهو چئي ڪري ڏي ته هِي توهان جو حق آهي.

خدا جي رحمت ان ماڻهو کي ملندي آهي جنهن جو شعور ايترو بيدار ٿي ويو هجي، جو هو امتحان جي لاءِ مليل اختيار جي اندر پنهنجي حقيقي بي اختياري کي ڄاڻي وٺي. هو انساني قدرت جي پردي ۾ خدا جي قدرت کي ڏسي وٺي. اِهو شعور اهڙي ماڻهو کان سرڪشي جي طاقت کسي وٺندو آهي. ايستائين جو اُن جو اِهو حال ٿي ويندو آهي ته جڏهن خدا پنهنجي رحمت کي سندس حق چئي ڪري اُن کي پيش ڪري ته سندس حقيقت جو شعور پڪاري چوي ته خدايا اِهو به تنهنجي رحمتن جو ئي هڪ ڪرشمو آهي نه ته منهنجو عمل ته ڪنهن قيمت جو مستحق نه آهي.

وَ كُلًّا نَّقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الرُّسُلِ مَا نُثَبِّتُ بِهٖ فُؤَادَكَ ۚ وَ جَآءَكَ فِيْ هٰذِهِ الْحَقُّ وَ
مَوْعِظَةٌ وَّ ذِكْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۲۰﴾ وَ قُلْ لِّلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ اعْمَلُوْا عَلٰى مَكَانَتِكُمْ ؕ اِنَّا
عٰمِلُوْنَ ﴿۱۲۱﴾ وَ انْتَظِرُوْا ۚ اِنَّا مُنْتَظِرُوْنَ ﴿۱۲۲﴾ وَ لِلّٰهِ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ اِلَيْهِ يُرْجَعُ
ع ١٠ الْاَمْرُ كُلُّهٗ فَاعْبُدْهُ وَ تَوَكَّلْ عَلَيْهِ ؕ وَ مَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۲۳﴾

۽ اسان رسولن جي احوالن مان سڀ شيون توکي ٻڌائي رهيا آهيون. جنهن سان تنهنجي دل کي مضبوط ڪريون ۽ هِن ۾ تو وٽ حق آيو آهي ۽ مؤمنن جي لاءِ نصيحت ۽ يادگيري. ۽ جن ماڻهن ايمان نه آندو آهي انهن کي چؤ ته توهان پنهنجي طريقي تي عمل ڪندا رهو ۽ اسان پنهنجي طريقي تي ڪري رهيا آهيون. ۽ انتظار ڪريو اسان به انتظار ڪري رهيا آهيون. ۽ آسمانن ۽ زمين جو ڳجهه رڳو الله کي آهي ۽ سڀ ڪم اُن ڏانهن ئي موٽايا ويندا آهن. تنهن ڪري تون سندس عبادت ڪر ۽ اُن تي ئي ڀروسو رک ۽ تنهنجو رب ان کان بي خبر نه آهي جيڪو توهان ڪري رهيا آهيو. ١٢٠-١٢٣

---

قرآن ۾ رسولن جا احوال ان ڪري ٻڌايا ويا آهن ته پوءِ اچڻ وارن داعين کي اُن مان سبق حاصل ٿئي. رسولن جي احوال ۾ داعي ڏسي ٿو ته سندن مخاطب قومن انهن سان جهيڙا ڪيا. سڌي ڳالهه کي غلط رخ ڏئي انهن کي ملامت ڪئي. انهن کي طرح طرح جون تڪليفون پهچايون. انهن کي اهڙي طرح رد ڪري ڇڏيو ڄڻ ته انهن جي ڪا قيمت ئي نه آهي.

پر آخرڪار الله انهن جي مدد ڪئي. سندن ڳالهه سيني کان صحيح ثابت ٿي. مخالفن جون سڀئي ڪارروائيون ناڪام ٿي ويون. ٻنهي جماعتن جو اِهو مختلف انجام پنهنجي ابتدائي صورت ۾ موجوده دنيا ۾ ئي پيش آيو ۽ آخرت ۾ اُهو پنهنجي ڪامل ترين صورت ۾ پيش ايندو.

اُنهن مثالن سان داعي کي اِهو تاريخي اعتماد حاصل ٿيندو آهي ته ان کي حق جي دعوت جي راهه ۾ جيڪي مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن، انهن ۾ سندس لاءِ نه مايوسي جو سوال آهي ۽ نه گهٻراهٽ جو. حق جي دعوت جي راهه ۾ اِهي شيون هميشه پيش ايندڙيون آهن ۽ اُن کي به آخرڪار اِهڙي طرح ڪاميابي حاصل ٿيندي جهڙي طرح ان کان اڳ خدا جي سچن داعين کي حاصل ٿي هئي.

اٰياتها ١١١ (١٢) سُوْرَةُ يُوْسُفَ مَكِّيَّةٌ (۵۳) رکوعاتها ١٢

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الٓرٰ قف تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ﴿١﴾ اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ قُرْءٰنًا عَرَبِيًّا لَّعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿٢﴾ نَحْنُ
نَقُصُّ عَلَيْكَ اَحْسَنَ الْقَصَصِ بِمَآ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ هٰذَا الْقُرْاٰنَ ۖ وَ اِنْ كُنْتَ مِنْ قَبْلِهٖ
لَمِنَ الْغٰفِلِيْنَ ﴿٣﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

الف-لام-را. هِي واضح ڪتاب جون آيتون آهن. اسان هِن کي عربي قرآن بڻائي نازل ڪيو آهي ته جيئن توهان سمجهو. اسان توکي بهترين قصّو ٻڌايون ٿا، هِن قرآن مان جيڪو اسان تو ڏانهن وحي ڪيو آهي. ان کان اڳ ۾ بيشڪ تون بيخبرن مان هئين. ١-٣

---

قرآن جيتوڻيڪ سڄي دنيا جي هدايت لاءِ آيو آهي، جيئن ته ان جا اول مخاطب عرب هئا، ان ڪري قرآن عربي زبان ۾ لٿو. هاڻي اُن تي ايمان آڻڻ وارن جي ذميداري آهي ته هُو اُن جي تعليم کي هر زبان ۾ منتقل ڪن ۽ اُن کي دنيا جي سڀني قومن تائين پهچائين.

قرآن جي تعليم قرآن ۾ مختلف انداز ۽ ڍنگ ۾ بيان ڪئي وئي آهي. ڪٿي اُها ڪائناتي دليلن جي زبان ۾ آهي، ڪٿي ڊيڄارڻ ۽ خوشخبري ڏيڻ جي زبان ۾ ۽ ڪٿي تاريخ جي زبان ۾. سورة يوسف ۾ اِهو پيغام حضرت يوسف عليه السلام جي قصي جي شڪل ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هِن سورة ۾ ايمان وارن کي هڪ پيغمبر جي قصي جي صورت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته خدا هر شيءِ تي قادر آهي. هُو حق جي لاءِ اٿڻ وارن جي مدد ڪندو آهي ۽ مخالفن جي سڀني سازشن جي باوجود آخرڪار انهن کي ڪامياب ڪندو آهي. شرط اِهو آهي ته ايمان وارن جي اندر تقويٰ ۽ صبر جي صفت موجود هجي. يعني هو الله کان ڊڄڻ وارا هجن ۽ هر حال ۾ حق جي رستي تي ثابت قدم رهن.

اِذْ قَالَ يُوْسُفُ لِاَبِيْهِ يٰٓاَبَتِ اِنِّيْ رَاَيْتُ اَحَدَ عَشَرَ كَوْكَبًا وَّ الشَّمْسَ وَ الْقَمَرَ رَاَيْتُهُمْ لِيْ
سٰجِدِيْنَ ﴿٤﴾ قَالَ يٰبُنَيَّ لَا تَقْصُصْ رُءْيَاكَ عَلٰٓى اِخْوَتِكَ فَيَكِيْدُوْا لَكَ كَيْدًا ۭ اِنَّ
الشَّيْطٰنَ لِلْاِنْسَانِ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿٥﴾ وَ كَذٰلِكَ يَجْتَبِيْكَ رَبُّكَ وَ يُعَلِّمُكَ مِنْ تَاْوِيْلِ

الۡاَحَادِيۡثِ وَ يُتِمُّ نِعۡمَتَهٗ عَلَيۡكَ وَ عَلٰۤى اٰلِ يَعۡقُوۡبَ كَمَاۤ اَتَمَّهَا عَلٰۤى اَبَوَيۡكَ مِنۡ قَبۡلُ
ع اِبۡرٰهِيۡمَ وَ اِسۡحٰقَ ؕ اِنَّ رَبَّكَ عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ ۟ ١١

جڏهن يوسف پنهنجي پيءُ کي چيو تہ بابا مون خواب ۾ يارهن تارا ۽ سج ۽ چنڊ ڏٺا آهن، مون انهن کي ڏٺو تہ هو مون کي سجدو ڪري رهيا آهن. هن جي پيءُ چيو تہ اي منهنجا پٽڙا! تون پنهنجو اِهو خواب پنهنجي ڀائرن کي نہ ٻڌائجانءِ. جو هو تنهنجي خلاف ڪا سازش ڪرڻ لڳن. بيشڪ شيطان ماڻهوءَ جو پڌرو دشمن آهي. ۽ اِهڙي طرح تنهنجو رب توکي چونڊيندو ۽ توکي ڳالهين جي حقيقت تائين پهچڻ سيکاريندو ۽ توتي ۽ يعقوب جي اولاد تي پنهنجي نعمت پوري ڪندو جهڙي طرح هُن ان کان اڳ ۾ تنهنجي ابن ڏاڏن ابراهيم ۽ اسحٰق تي پنهنجي نعمت پوري ڪيائين. يقيناً تنهنجو رب عليم ۽ حڪيم آهي. ٤-٦

---

حديث ۾ آهي تہ خواب جا ٽي قسم آهن: پنهنجي دل جي ڳالهہ، شيطان جو ڊيڄارڻ ۽ خدا جي بشارت. عام ماڻهوءَ جو خواب ٽنهي مان ڪوبہ ٿي سگهي ٿو. پر پيغمبر جو خواب هميشہ خُدا جي بشارت هوندو آهي. ڪڏهن سڌي انداز ۾ ۽ ڪڏهن مثال جي انداز ۾.

حضرت يوسفؑ جو زمانو اُڻويهين صدي قبل مسيح جو زمانو آهي. پاڻؑ جا والد حضرت يعقوب فلسطين ۾ رهندا هئا. حضرت يوسفؑ ۽ ان جو ڀاءُ بنيامين هڪ ماءُ مان هئا ۽ باقي ڏهہ ڀائر ٻين مائرن مان. هِن خواب ۾ سج ۽ چنڊ مان مراد پاڻؑ جا والدين آهن ۽ يارهن ستارن مان مراد يارهن ڀائر. اُن ۾ اِها خوشخبري هئي تہ حضرت يوسفؑ کي پيغمبري ملندي ۽ اُن ئي سان گڏ اِهو خواب سندس اُن عروج ۽ اقتدار جو مثال هو جيڪو بعد ۾ مصر پهچي کيس مليو ۽ جنهن کان پوءِ سڀئي خاندان وارا مجبور ٿيا جو هو سندس عظمت کي تسليم ڪري وٺن.

حضرت يوسفؑ جا ڏهہ ويڳا ڀائر سندس شخصيت ۽ مقبوليت کي ڏسي ساڻس حسد ڪندا هئا. ان ڪري پاڻؑ جي والد (حضرت يعقوبؑ) خواب ٻڌي فوراً چيو تہ پنهنجي ڀائرن سان ان جو ذڪر نہ ڪجان نہ تہ هو تنهجا وڌيڪ دشمن ٿي ويندا.

ڪنهن جي وڏائي ڏسي ان جي خلاف ساڙ پيدا ٿيڻ خالص شيطاني ڪم آهي. جنهن ماڻهو جي اندر اِها صفت هجي، ان کي توبهہ ڪرڻ کپي. ڇاڪاڻ تہ اِهو ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ هو خدا جي فيصلي تي راضي نہ آهي. هو شيطان جي هدايت تي هلي رهيو آهي نہ وري خدا جي هدايت تي.

هِتي نعمت جو پورو ٿيڻ جو لفظ حضرت يوسفؑ جي لاءِ ڳالهايو ويو آهي، جنهن کي حڪومت حاصل ٿي ۽ حضرت ابراهيمؑ جي لاءِ بہ جنهن کي ڪا حڪومت نہ ملي. پوءِ ٻنهي جي وچ ۾ اُها ڪهڙي مشترڪ شيءِ هئي جنهن کي نعمت جو پورو ٿيڻ چيو ويو، اُها نبوت هئي. يعني خدا جي اُن خاص هدايت جي توفيق جيڪا ڪنهن کي آخرت ۾ اعليٰ مرتبي تائين پهچائڻ واري آهي. خدا جي هدايت انسان تي خدا جي نعمتن جي تڪميل آهي. هي نعمت پيغمبرن کي سڌي ريت ملندي آهي ۽ عام صالحين کي اڻ سڌي ريت.

لَقَدۡ كَانَ فِىۡ يُوۡسُفَ وَ اِخۡوَتِهٖۤ اٰيٰتٌ لِّلسَّآئِلِيۡنَ ۟ اِذۡ قَالُوۡا لَيُوۡسُفُ وَ اَخُوۡهُ اَحَبُّ اِلٰٓى

اَبِيۡنَا مِنَّا وَ نَحۡنُ عُصۡبَةٌ ؕ اِنَّ اَبَانَا لَفِيۡ ضَلٰلٍ مُّبِيۡنِ ۚ﴿٨﴾ اِقۡتُلُوۡا يُوۡسُفَ اَوِ اطۡرَحُوۡهُ
اَرۡضًا يَّخۡلُ لَكُمۡ وَجۡهُ اَبِيۡكُمۡ وَ تَكُوۡنُوۡا مِنۡۢ بَعۡدِهٖ قَوۡمًا صٰلِحِيۡنَ ﴿٩﴾ قَالَ قَآئِلٌ مِّنۡهُمۡ
لَا تَقۡتُلُوۡا يُوۡسُفَ وَ اَلۡقُوۡهُ فِيۡ غَيٰبَتِ الۡجُبِّ يَلۡتَقِطۡهُ بَعۡضُ السَّيَّارَةِ اِنۡ كُنۡتُمۡ فٰعِلِيۡنَ ﴿١٠﴾

حقيقت اِها آهي تہ يوسف ۽ ان جي ڀائرن ۾ پڇڻ وارن جي لاءِ وڏيون نشانيون آهن. جڏهن ان جي ڀائرن پاڻ ۾ چيو تہ يوسف ۽ ان جو ڀاءُ اسان جي پيءُ کي اسان کان وڌيڪ محبوب آهن، حالانڪ اسين هڪ پورو جٿو آهيون. يقينًا اسان جو پيءُ هڪ پڌري غلطي ۾ مبتلا آهي. يوسف کي قتل ڪري ڇڏيو يا ان کي ڪنهن جڳھ ڦٽي ڪيو تہ جيئن توهان جي پيءُ جو توجھ صرف توهان ڏانهن ٿي وڃي. ۽ ان ڪانپوءِ توهان بلڪل نيڪ ٿي رهجو. انهن مان هڪ چوڻ واري چيو تہ يوسف کي قتل نہ ڪريو، جيڪڏهن توهان ڪجھ ڪرڻ وارا ئي آهيو تہ ان کي ڪنهن ڦٽل کوھ ۾ اڇلائي ڇڏيو. ڪو راهہ هلندڙ قافلو ڪيس ڪڍي ڪٽي ويندو. ٧-١٠

---

مڪي جي آخري ڏينهن ۾ جڏهن ابوطالب ۽ حضرت خديجہ رضي الله عنها جو انتقال ٿي چڪو هو تہ مڪي جي ماڻهن پاڻ صلي الله عليه وسلم جي مخالفت تيز ڪري ڇڏي. ان زماني ۾ مڪي جي ڪجھ ماڻهن پاڻ صلي الله عليه وسلم کان حضرت يوسف عليہ السلام جو حال پڇيو جن جو نالو انهن سفر جي دوران ڪجھ يهودين کان ٻڌو هو. اِهو سوال جيتوڻيڪ انهن ٺٺول ڪرڻ جي غرض کان ڪيو هو، پر الله تعاليٰ ان کي خود پڇڻ وارن ڏانهن موٽائي ڇڏيو. اُن قصي جي ذريعي اڻ سڌي ريت انهن کي ٻڌايو ويو تہ توهان اُهي ماڻهو آهيو جن جي حصي ۾ يوسف عليہ السلام جي ڀائرن جو ڪردار آيو آهي. جڏهن تہ پيغمبر جو انجام خدا جي رحمت سان اِهو ٿيڻ وارو آهي جيڪو يوسف عليہ السلام جو مصر ۾ ٿيو.

حضرت يعقوب عليہ السلام ڏسي رهيا هئا تہ سندس اولاد ۾ سڀني کان وڌيڪ لائق ۽ صالح حضرت يوسف عليہ السلام آهن. اُن جي اندر انهن کي مستقبل جي نبي جي شخصيت ڏسڻ ۾ پئي آئي. ان ڪري انهن کي حضرت يوسف عليہ السلام سان تمام گهڻو پيار هو. پر پاڻ عليہ السلام جا ڏھ پٽ اُن معاملي کي دنياوي نظر سان ڏسندا هئا. سندن خيال هو تہ پيءُ جي نظر ۾ سڀني کان وڌيڪ اهم شيءِ سندن جٿو هئڻ کپي. ڇاڪاڻ تہ اُهي ئي ان قابل آهن جو خاندان جي مدد ۽ حمايت ڪري سگهن. انهن جو اِهو خيال ايستائين پهچي ويو جو انهن سوچيو تہ يوسف عليہ السلام کي ميدان مان هٽائي ڇڏين، تہ جيئن پيءُ جي سڄي توجھ انهن ڏانهن ٿي وڃي.

اُهي جڏهن حضرت يوسف عليہ السلام جي خلاف منصوبو ٺاهڻ وينا تہ سندن هڪ ڀاءُ (يهوده) اِها تجويز پيش ڪئي تہ يوسف عليہ السلام کي قتل ڪرڻ جي بجاءِ ڪنهن اونهي کوھ ۾ وڌو وڃي. اِهو الله تعاليٰ جو خاص انتظام هو. الله جو اِهو طريقو آهي تہ ڪا جماعت جڏهن ناحق ڪنهن ٻانهي جي پويان پئجي وڃي تہ خود ان جماعت مان هڪ اهڙي شخص کي اٿاريندو آهي جيڪو پنهنجي ماڻهن کي ڪنهن اِهڙي وچٿري تدبير تي راضي ڪري وٺي، جنهن مان ان خدا جي ٻانهي لاءِ نئون امڪان نڪري اچي.

قَالُوۡا يٰۤاَبَانَا مَا لَكَ لَا تَاۡمَنَّا عَلٰى يُوۡسُفَ وَ اِنَّا لَهٗ لَنٰصِحُوۡنَ ﴿١١﴾ اَرۡسِلۡهُ مَعَنَا غَدًا يَّرۡتَعۡ وَ

يَلْعَبْ وَ اِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ ﴿۱۲﴾ قَالَ اِنِّيْ لَيَحْزُنُنِيْۤ اَنْ تَذْهَبُوْا بِهٖ وَ اَخَافُ اَنْ يَّاْكُلَهُ الذِّئْبُ
وَ اَنْتُمْ عَنْهُ غٰفِلُوْنَ ﴿۱۳﴾ قَالُوْا لَئِنْ اَكَلَهُ الذِّئْبُ وَ نَحْنُ عُصْبَةٌ اِنَّاۤ اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ ﴿۱۴﴾

انهن پنهنجي پيءُ کي چيو اي اسان جا بابا! ڇا ڳالهه آهي ته توهان يوسف جي معاملي ۾ اسان تي ڀروسو نٿا ڪريو، حالانڪ اسان ته ان جا خير خواهه آهيون. سڀاڻي ان کي اسان سان گڏ موڪلي ڇڏ ته ڪائي ۽ کيڏي ۽ اسان اُن جا نگهبان آهيون. پيءُ چيو آئون اُن سان غمگين ٿيندو آهيان جو توهان اُن کي وٺي وڃو ۽ مون کي انديشو آهي ته ان کي ڪو بگهڙ ڪائي وڃي، جڏهن ته توهان اُن کان غافل هجو. انهن چيو ته جيڪڏهن هُن کي بگهڙ کائي وڃي، جڏهن ته اسان هڪ پوري جماعت آهيون ته پوءِ اسان وڏي خساري وارا ثابت ٿينداسون. ۱۱-۱۴

---

حضرت يعقوبؑ پنهنجن پٽن کي جيڪو جواب ڏنو، ان مان معلوم ٿيندو آهي ته حالتن مان انهن اندازو لڳائي ورتو هو ته اِهو رڻ ۾ راند ڪيڏڻ جو معاملو نه آهي. بلڪ يوسفؑ جي خلاف سندن ڀائرن جي سازش جو معاملو آهي. پر الله کان ڊڄڻ وارو انسان الله تي ڀروسو ڪرڻ وارو هوندو آهي. حضرت يعقوبؑ جيتوڻيڪ پنهنجي فهم ۽ فراست سان اِهو محسوس ڪري ورتو هو ته ڇا ٿيڻ وارو آهي. پوءِ به انهن خدا جي قدرت کي هر ڀي شيءِ کان مٿي سمجهيو. انهن کي خدا جي بالادستي تي ڪامل يقين هو. تنهن ڪري واضح خطرن جي باوجود انهن يوسفؑ کي خدا جي ڀروسي تي سندن ڀائرن جي حوالي ڪري ڇڏيو.

اِها خدا کان ڊڄڻ واري انسان جي تصوير هئي. ٻئي طرف حضرت يوسفؑ جي ڀائرن ۾ انهن ماڻهن جي تصوير نظر اچي ٿي جن جون دليون خدا جي خوف کان خالي هجن. اِهي ماڻهو هڪ خدا جي ٻانهي کي ناحق برباد ڪرڻ جا منصوبا ٺاهي رهيا هئا. انهن کي اِهو وسري ويو هو ته هو هڪ اهڙي دنيا ۾ آهن جتي خدا کانسواءِ ڪنهن ٻئي کي ڪو اختيار حاصل نه آهي. اُهي لفظن جي لحاظ کان پاڻ کي خير خواهه ثابت ڪري رهيا هئا. حالانڪ خدا وٽ خير خواهه اُهو آهي جيڪو عمل جي لحاظ کان پاڻ کي خير خواهه ثابت ڪري.

فَلَمَّا ذَهَبُوْا بِهٖ وَ اَجْمَعُوْۤا اَنْ يَّجْعَلُوْهُ فِيْ غَيٰبَتِ الْجُبِّ ۚ وَ اَوْحَيْنَاۤ اِلَيْهِ لَتُنَبِّئَنَّهُمْ
بِاَمْرِهِمْ هٰذَا وَ هُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿۱۵﴾ وَ جَآءُوْۤ اَبَاهُمْ عِشَآءً يَّبْكُوْنَ ﴿۱۶﴾ قَالُوْا يٰۤاَبَانَاۤ اِنَّا
ذَهَبْنَا نَسْتَبِقُ وَ تَرَكْنَا يُوْسُفَ عِنْدَ مَتَاعِنَا فَاَكَلَهُ الذِّئْبُ ۚ وَ مَاۤ اَنْتَ بِمُؤْمِنٍ لَّنَا وَ لَوْ
كُنَّا صٰدِقِيْنَ ﴿۱۷﴾ وَ جَآءُوْ عَلٰى قَمِيْصِهٖ بِدَمٍ كَذِبٍ ؕ قَالَ بَلْ سَوَّلَتْ لَكُمْ اَنْفُسُكُمْ
اَمْرًا ؕ فَصَبْرٌ جَمِيْلٌ ؕ وَ اللّٰهُ الْمُسْتَعَانُ عَلٰى مَا تَصِفُوْنَ ﴿۱۸﴾

الثلٰثة

پوءِ جڏهن هو اُن کي وٺي ويا ۽ اِهو طي ڪري ورتائون ته اُن کي اونهي کوهه ۾ اڇلائينداسون ۽ اسان يوسف کي وحي ڪيو ته تون انهن کي سندن اِهو ڪم جتائيندين ۽ هو توکي نه سڃاڻندا ۽ هُو شام جو پنهنجي پيءُ وٽ روئيندا آيا. انهن چيو ته اي اسان جا بابا اسان ڊوڙڻ جو مقابلي ۾ لڳي وياسون ۽ يوسف کي اسان پنهنجي سامان

وٽ چڏي ڏنو هو. پوءِ اُن کي بگھڙ کائي ويو ۽ توهان اسان جي ڳالهه جو يقين نہ ڪندؤ چاهي ڪٽي اسان سچا هجون ۽ اهي يوسف جي قميص تي ڪوڙو رت لڳائي ڪٽي آيا پيءُ چيو نہ. بلڪ توهان جي نفس توهان جي لاءِ هڪ ڳالهہ ٺاهي ورتي آهي. هاڻي صبر ئي بهتر آهي ۽ جيڪا ڳالهہ توهان ظاهر ڪري رهيا آهيو، اُن تي الله کان ئي مدد گھران ٿو. ۱۵-۱۸

---

حضرت يوسفؑ جو اصل قصو يقيني طور تي ان کان وڌيڪ تفصيلِ وارو آهي جيترو قرآن ۾ بيان ٿيو آهي. پر قرآن جو اصل مقصد نصيحت آهي نہ وري ڪهاڻيون ٻڌائڻ. اُن ڪري قرآن صرف انهن پهلوئن کي وٺندو آهي جيڪي نصيحت ۽ تذڪير جي لاءِ مفيد هجن ۽ باقي سيني حصن کي ڇڏي ڏيندو آهي تہ جيئن تاريخ لکڻ وارا ان کي مرتب ڪن.

روايتن جي مطابق حضرت يوسفؑ ٽن ڏينهن تائين کوهہ ۾ رهيا. انهن کي ٽن ڏينهن ۾ غالبًا خواب جي ذريعي ڪين پنهنجو مستقبل ڏيکاريو ويو. اُن ۾ پاڻؑ ڏٺو تہ پاڻؑ کوهہ مان نڪرندا آهن ۽ پوءِ عظمت ۽ شان جي هڪ بلند مقام تي پهچندا آهن، ايستائين جو پاڻؑ جي ۽ سندس ڀائرن جي وچ ۾ حيثيت جي لحاظ کان ايڏو فرق ٿي ويندو آهي جو هو پاڻؑ کي ڏسندا آهن، پر سڃاڻي نہ ٿا سگھن.

حضرت يوسفؑ جي ڀائرن جيڪو ڪجهہ ڪيو هو، اُها انتهائي ڪاوڙ ڏياريندڙ حرڪت هئي. پر هڪ طرف حضرت يوسفؑ جو حال اِهو هو تہ انهن پنهنجي معاملي کي خدا جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ سنسان مقام تي کوهہ جي اندر خاموشي سان خدا جي مدد جو انتظار ڪندا رهيا. ٻئي طرف پاڻؑ جي والد حضرت يعقوبؑ صبر جميل جو طريقو اختيار ڪيو. بعض تفسيرن ۾ آيو آهي تہ انهن پنهنجن پٽن کي چيو: جيڪڏهن يوسفؑ کي بگھڙ کائي ها تہ هو ان جي قميص کي بہ ضرور ڦاڙي وجهي ها (لو اڪله السبع لخرق القميص) يعني اُهو بگھڙ بہ ڪيڏو شريف هو جو يوسف کي تہ ڪٽي ويو ۽ رت واري قميص کي نهايت صحيح ثابت حالت ۾ لاهي توهان جي حوالي ڪري ويو.

وَ جَآءَتْ سَيَّارَةٌ فَاَرْسَلُوْا وَارِدَهُمْ فَاَدْلٰى دَلْوَهٗ ؕ قَالَ يٰبُشْرٰى هٰذَا غُلٰمٌ ؕ وَ اَسَرُّوْهُ بِضَاعَةً ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِمَا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۹﴾ وَشَرَوْهُ بِثَمَنٍۢ بَخْسٍ دَرَاهِمَ مَعْدُوْدَةٍ ۚ وَكَانُوْا
ع۲ ۱۴ ۱۲ فِيْهِ مِنَ الزّٰهِدِيْنَ ﴿۲۰﴾

۽ هڪ قافلو آيو تہ انهن پنهنجي پاڻي ڀرڻ واري کي موڪليو. ان پنهنجو ڏول وڌو. ان چيو خوشخبري هجي، اِهو تہ هڪ نينگر آهي. ۽ ان کي تجارت جو مال سمجهي محفوظ ڪري ورتو. ۽ الله کي چڱي طرح خبر هئي جيڪو ڪجهہ هو ڪري رهيا هئا. ۽ انهن اُن کي ٿورڙي قيمت تي ڪجهہ درهمن جي بدلي وڪڻي ڇڏيو ۽ اُهي ان کان بيزاري ڪندڙ هئا. ۱۹-۲۰

---

حضرت يوسفؑ جا ڀائر جڏهن پاڻؑ کي کوهہ ۾ وجهي هليا ويا تہ ٽن ڏينهن کانپوءِ هڪ تجارتي قافلو اُتان لنگهيو جيڪو مدين کان مصر وڃي رهيو هو. قافلي جي هڪ ماڻهو پاڻي لاءِ کوهہ ۾ ڏول وڌو تہ حضرت يوسفؑ (ان وقت تقريبًا ۱۶ سال جا هئا) ڏول کي پڪڙي ٻاهر اچي ويا.

اهو غلامن ڪي وڪڻڻ جو زمانو هو. اُن ڪري قافلي وارا خوش ٿي ويا ته هو مصر وڃي نينگر کي وڪڻي سگهندا. پوءِ جڏهن هو مصر پهتا ته پنهنجي ٻئي سامان سان گڏ حضرت يوسفعليه السلام کي به بازار ۾ رکي ڇڏيو. اُتي هڪ ماڻهو پاڻعليه السلام کي هڪ هوشيار ڇوڪرو ڏسي ڪين ويهن درهمن ۾ خريد ڪيو.

حضرت يوسفعليه السلام جا ڀائر پاڻعليه السلام کي بي وطن ڪري کوهه ۾ اڇلائي چڪا هئا. قافلي وارن غلام جي حيثيت سان وڪڻي ڇڏيو. ان ڪانپوءِ مصر جي هڪ اعليٰ سرڪاري آفيسر جي زال (زليخا) پاڻعليه السلام کي جيل ۾ قيد ڪرائي ڇڏيو. پر الله تعاليٰ انهن سڀني مرحلن کي پاڻعليه السلام جي لاءِ عزت ۽ سربلندي تائين پهچڻ جو ذريعو بڻائي ڇڏيو. ڪيتري قدر فرق آهي انساني علم ۾ علم خداوندي ۾.

وَ قَالَ الَّذِی اشۡتَرٰىهُ مِنۡ مِّصۡرَ لِامۡرَاَتِهٖۤ اَکۡرِمِیۡ مَثۡوٰىهُ عَسٰۤی اَنۡ یَّنۡفَعَنَاۤ اَوۡ نَتَّخِذَهٗ وَلَدًا ؕ وَ کَذٰلِکَ مَکَّنَّا لِیُوۡسُفَ فِی الۡاَرۡضِ ۫ وَ لِنُعَلِّمَهٗ مِنۡ تَاۡوِیۡلِ الۡاَحَادِیۡثِ ؕ وَ اللّٰهُ غَالِبٌ عَلٰۤی اَمۡرِهٖ وَ لٰکِنَّ اَکۡثَرَ النَّاسِ لَا یَعۡلَمُوۡنَ ﴿۲۱﴾ وَ لَمَّا بَلَغَ اَشُدَّهٗۤ اٰتَیۡنٰهُ حُکۡمًا وَّ عِلۡمًا ؕ وَ کَذٰلِکَ نَجۡزِی الۡمُحۡسِنِیۡنَ ﴿۲۲﴾

۽ اهل مصر مان جنهن ماڻهو اُن کي خريد ڪيو، اُن پنهنجي زال کي چيو ته هِن کي سٺي نموني رک. اُميد آهي ته هِي اسان جي لاءِ فائديمند هجي يا اسان ڪيس پنهنجو پٽ بڻائي ونون. ۽ اهڙي طرح اسان يوسف کي اُن ملڪ ۾ جڳهه ڏني. ۽ ته جيئن اُن کي ڳالهين جي تاويل سيکاريون. ۽ الله پنهنجي ڪم تي غالب آهي پر اڪثر ماڻهو نه ٿا ڄاڻن. ۽ جڏهن هو پنهنجي پختگيءَ کي پهتو ته اسان ڪيس حڪمت ۽ علم عطا ڪيو ۽ نيڪي ڪرڻ وارن کي اسان اِهڙوئي بدلو ڏيندا آهيون. ٢١-٢٢

---

چيو وڃي ٿو ته مصري حڪومت جي هڪ آفيسر (فوطيفار) حضرت يوسفعليه السلام کي خريد ڪيو. معمولي ڪپڙن ۾ لڪيل پاڻعليه السلام جي شاندار شخصيت کي اُن سڃاڻي ورتو. اُن سمجهي ورتو ته هِي ڪو غلام نه آهي، بلڪ شريف خاندان جو ڇوڪرو آهي. ڪنهن وجه جي ڪري هو قافلي جي هٿ لڳي ويو آهي ۽ انهن هِن کي هِتي آڻي وڪڻي ڇڏيو. تنهن ڪري اُن پنهنجي زال کي چيو ته هِن کي غلام وانگر نه رکجان، هِي هڪ لائق ڇوڪرو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ اُن قابل آهي جو اسان جي گهر ۽ جائيداد جو انتظام سنڀالي سگهي. وڌيڪ اهو ته فوطيفار بي اولاد هو ۽ ڪنهن کي پنهنجو وارث بڻائڻ چاهيندو هو. هُن اهو ارادو به ڪري ورتو هو ته جيڪڏهن اِهو نوجوان جيڪڏهن سندس اميدن مطابق نڪتو ته هو اُن کي پنهنجو پٽ بڻائي وٺندو.

حضرت يوسفعليه السلام جڏهن تقريبًا چاليهه سال جا ٿيا ته خدا انهن کي هڪ طرف نبوت عطا ڪئي ۽ ٻئي طرف اقتدار. انهن کي اِهو انعام سندن حسن عمل جي ڪري مليو. خدا جي انعام جو دروازو هميشه محسنن جي لاءِ کليل آهي. فرق اِهو آهي ته نبوت جي دور ۾ ڪنهن کي اُن جي حسن عمل جي نتيجي ۾ نبي به بڻائي سگهجي ٿو. پر بعض جي زماني ۾ اُن کي صرف اُهي انعام ملندا جيڪي نبوت کان علاوه آهن.

وَ رَاوَدَتۡهُ الَّتِیۡ هُوَ فِیۡ بَیۡتِهَا عَنۡ نَّفۡسِهٖ وَ غَلَّقَتِ الۡاَبۡوَابَ وَ قَالَتۡ هَیۡتَ لَکَ ؕ قَالَ مَعَاذَ

اللهِ اِنَّهٗ رَبِّيْٓ اَحْسَنَ مَثْوَايَ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢٣﴾ وَ لَقَدْ هَمَّتْ بِهٖ ۚ وَ هَمَّ بِهَا لَوْ لَآ
اَنْ رَّاٰ بُرْهَانَ رَبِّهٖ ؕ كَذٰلِكَ لِنَصْرِفَ عَنْهُ السُّوْٓءَ وَ الْفَحْشَآءَ ؕ اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا
الْمُخْلَصِيْنَ ﴿٢٤﴾

۽ يوسف جنهن عورت جي گهر ۾ هو، هوءَ کيس ورغلائڻ لڳي ۽ هڪ ڏينهن دروازا بند ڪيائين ۽ چوڻ لڳي ته هليو اچ. يوسف چيو الله جي پناهه. هو منهنجو نپائيندڙ آهي، هُن مون کي چڱي طرح رکيو آهي. بيشڪ ظالم ماڻهو ڪڏهن ڪامياب نه ٿيندا. ۽ عورت ان جو ارادو ڪري ورتو ۽ هُو به ان جو ارادو ڪري ها، جيڪڏهن هو پنهنجي رب جو دليل نه ڏسي ها. ايئن ان ڪري ٿيو ته جيئن اسان اُن ڪان برائي ۽ بي حيائي کي پري ڪري ڇڏيون. بيشڪ هو اسان جي چونڊيل ٻانهن مان هو. ٢٣-٢٤

---

عزيز مصر جي زال زليخا حضرت يوسفؑ تي عاشق ٿي پئي. هو مسلسل پاڻؑ کي ورغلائيندي رهي. ايستائين جو هڪ ڏينهن موقعو ڏسي اُن ڪمري جو دروازو بند ڪري ورتو.

هڪ ڪنواري نوجوان جي لاءِ اِهو وڏو نازڪ موقعو هو. پر حضرت يوسفؑ پنهنجي رباني فطرت کي محفوظ رکيو هو ۽ اِها فطرت ان وقت حضرت يوسفؑ جي ڪم اچي وئي. حق ۽ ناحق، ڀلائي ۽ برائي کي سڃاڻڻ جي اِها طاقت هر ماڻهو جي اندر پيدائشي طور تي موجود هوندي آهي. هو هر موقعي تي انسان کي خبردار ڪندي آهي. جيڪو ماڻهو ان کي نظر انداز ڪري ڇڏي، ان ڄڻ ته خدا جي آواز کي نظر انداز ڪري ڇڏيو. اِهڙو ماڻهو خدا جي مدد ڪان محروم ٿي آهستي آهستي پنهنجي فطرت کي ڪمزور ڪري وٺندو آهي. ان جي ابتڙ جيڪو ماڻهو خدا جي پڪار جي ظاهر ٿيندي ئي ان جي اڳيان جهڪي وڃي ته خدا جي مدد ان جي قابليت وڌائيندي رهي ٿي. پوءِ هو اُن قابل ٿي ويندو آهي جو آئنده وڌيڪ قوت سان برائي جي مقابلي ۾ بيهي سگهي.

حضرت يوسفؑ کي جنهن شيءِ برائي ڪان روڪيو هو، اُها حقيقت ۾ الله جو ڊپ هو. پر زليخا جي لاءِ خدا جو واسطو ڏيڻ ان وقت بي اثر هجي ها. اِهو موقعو حق جي اعلان جو نه هو، بلڪ هڪ نازڪ صورتحال ڪان پنهنجي پاڻ کي بچائڻ جو هو. اُن ئي نزاڪت جي ڪري پاڻؑ زليخا کي ان جي مڙس جو حوالو ڏنو. پاڻؑ فرمايو ته هو منهنجو نپائيندڙ آهي. ان مون کي نهايت عزت سان پنهنجي گهر ۾ رکيو آهي. پوءِ ڪيئن ممڪن آهي جو آئون پنهنجي محسن جي عزت تي حملو ڪريان.

وَ اسْتَبَقَا الْبَابَ وَ قَدَّتْ قَمِيْصَهٗ مِنْ دُبُرٍ وَّ اَلْفَيَا سَيِّدَهَا لَدَا الْبَابِ ؕ قَالَتْ مَا جَزَآءُ
مَنْ اَرَادَ بِاَهْلِكَ سُوْٓءًا اِلَّآ اَنْ يُّسْجَنَ اَوْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٢٥﴾ قَالَ هِيَ رَاوَدَتْنِيْ عَنْ نَّفْسِيْ وَ
شَهِدَ شَاهِدٌ مِّنْ اَهْلِهَا ۚ اِنْ كَانَ قَمِيْصُهٗ قُدَّ مِنْ قُبُلٍ فَصَدَقَتْ وَ هُوَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٢٦﴾
وَ اِنْ كَانَ قَمِيْصُهٗ قُدَّ مِنْ دُبُرٍ فَكَذَبَتْ وَ هُوَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٢٧﴾ فَلَمَّا رَاٰ قَمِيْصَهٗ قُدَّ مِنْ
دُبُرٍ قَالَ اِنَّهٗ مِنْ كَيْدِكُنَّ ؕ اِنَّ كَيْدَكُنَّ عَظِيْمٌ ﴿٢٨﴾ يُوْسُفُ اَعْرِضْ عَنْ هٰذَا ٚ وَ

ع ٣/٩ ١٣ اسۡتَغۡفِرِیۡ لِذَنۡۢبِكِ ۚۖ اِنَّكِ کُنۡتِ مِنَ الۡخٰطِـِٕیۡنَ ﴿٢٩﴾

۽ ٻئي دروازي ڏانهن ڀڳا. ۽ عورت يوسف جو ڪُڙتو پٺيان ڦاڙي ڇڏيو. ۽ ٻنهي اُن جي مڙس کي دروازي وٽ ڏٺو. عورت چيو ته جيڪو تنهنجي گهرواريءَ سان برائيءَ جو ارادو ڪري ان جي سزا ان کان سواءِ ڇا آهي جو ان کي قيد ڪيو وڃي يا ان کي سخت عذاب ڏنو وڃي. يوسف چيو ته هِن ئي مون کي ورغلائڻ جي ڪوشش ڪئي. ۽ عورت جي گهروارن مان هڪ ماڻهوءَ شاهدي ڏني ته جيڪڏهن ان جو ڪُڙتو اڳيان ڦاٽل هجي ته عورت سچي آهي ۽ هو ڪوڙو آهي. ۽ جيڪڏهن ان جو ڪُڙتو پٺيان ڦاٽل هجي ته عورت ڪوڙي آهي ۽ هو سچو آهي. پوءِ جڏهن عزيز ڏٺو ته ان جو ڪُڙتو پٺئين پاسي کان ڦاٽل آهي ته اُن چيو ته بيشڪ هي توهان عورتن جي چال آهي. ۽ توهان جون چالون تمام وڏيون هونديون آهن.يوسف اُن (ڳالهه) کان درگذر ڪر. ۽ اي عورت! تون پنهنجي غلطيءَ جي معافي گُهر. بيشڪ تون ئي خطاڪار هئينءَ. ٢٥-٢٩

---

حضرت يوسفؑ پاڻ کي بچائڻ جي لاءِ دروازي ڏانهن ڀڳا. زليخا به سندس پويان ڊوڙي ۽ پٺيان کان پاڻؑ جو ڪُڙتو جهلي ورتو. ڇڪتاڻ ۾ پٺيان ڪُڙتو ڦاٽي ويو. پوءِ به حضرت يوسفؑ دروازو کولي ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. دروازي جي ٻاهر اتفاق سان زليخا جو مڙس موجود هو. ان کي ڏسندي ئي زليخا سڄي ذميداري حضرت يوسفؑ تي وجهي ڇڏي. هڪ لمحي پهرين هوءَ جنهن ماڻهوءَ سان محبت جو اظهار ڪري رهي هئي، هڪ لمحي کان پوءِ هوءَ ان تي ڪوڙو الزام هڻڻ لڳي.

حضرت يوسفؑ ٻڌايو ته معاملو اُن کان بلڪل ابتڙ آهي. هاڻي سوال اِهو هو ته فيصلو ڪيئن ڪجي ته غلطي ڪنهن جي آهي. ڪو ٽيون ماڻهو موقعي تي موجود نه هو جو ڏٺل شاهدي ڏي. ان وقت گهر جي هڪ داناءِ مرد ماڻهن جي رهنمائي ڪئي. گهڻوڪري اهو ماڻهو پهرين کان حالتن کان باخبر هو. وڏيڪ اِهو ته هُن اِهو به ڏسي ورتو هو ته يوسفؑ جو ڪُرتو اڳيان جي بجاءِ پٺيان کان ڦاٽل آهي. پر اُن پنهنجي ڳالهه کي اهڙي انداز ۾ چيو جڻ ته هو ماڻهن کي چئي رهيو هجي ته جڏهن اکين ڏٺو شاهد موجود نه آهي ته ظاهري شهادت (circumstantial evidence) ڏسي فيصلو ڪري وٺو ۽ ظاهري شهادت اها هئي ته حضرت يوسف جو ڪُڙتو پٺئين پاسي کان ڦاٽل هو. اِهو واضح طور تي ان جو ثبوت هو ته ان معاملي ۾ اڳرائي زليخا جي طرفان ٿي آهي، نه وري حضرت يوسفؑ جي طرفان.

وَ قَالَ نِسۡوَۃٌ فِی الۡمَدِیۡنَۃِ امۡرَاَتُ الۡعَزِیۡزِ تُرَاوِدُ فَتٰىہَا عَنۡ نَّفۡسِہٖ ۚ قَدۡ شَغَفَہَا حُبًّا ؕ اِنَّا
لَنَرٰىہَا فِیۡ ضَلٰلٍ مُّبِیۡنٍ ﴿٣٠﴾ فَلَمَّا سَمِعَتۡ بِمَکۡرِہِنَّ اَرۡسَلَتۡ اِلَیۡہِنَّ وَ اَعۡتَدَتۡ لَہُنَّ مُتَّکَاً وَّ
اٰتَتۡ کُلَّ وَاحِدَۃٍ مِّنۡہُنَّ سِکِّیۡنًا وَّ قَالَتِ اخۡرُجۡ عَلَیۡہِنَّ ۚ فَلَمَّا رَاَیۡنَہٗۤ اَکۡبَرۡنَہٗ وَ قَطَّعۡنَ
اَیۡدِیَہُنَّ وَ قُلۡنَ حَاشَ لِلّٰہِ مَا ہٰذَا بَشَرًا ؕ اِنۡ ہٰذَاۤ اِلَّا مَلَکٌ کَرِیۡمٌ ﴿٣١﴾ قَالَتۡ فَذٰلِکُنَّ
الَّذِیۡ لُمۡتُنَّنِیۡ فِیۡہِ ؕ وَ لَقَدۡ رَاوَدۡتُّہٗ عَنۡ نَّفۡسِہٖ فَاسۡتَعۡصَمَ ؕ وَ لَئِنۡ لَّمۡ یَفۡعَلۡ مَاۤ اٰمُرُہٗ
لَیُسۡجَنَنَّ وَ لَیَکُوۡنًا مِّنَ الصّٰغِرِیۡنَ ﴿٣٢﴾ قَالَ رَبِّ السِّجۡنُ اَحَبُّ اِلَیَّ مِمَّا یَدۡعُوۡنَنِیۡۤ اِلَیۡہِ ۚ
وَ اِلَّا تَصۡرِفۡ عَنِّیۡ کَیۡدَہُنَّ اَصۡبُ اِلَیۡہِنَّ وَ اَکُنۡ مِّنَ الۡجٰہِلِیۡنَ ﴿٣٣﴾ فَاسۡتَجَابَ لَہٗ رَبُّہٗ

فَصَرَفَ عَنۡهُ كَيۡدَهُنَّ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ ﴿۳۴﴾

۽ شهر جون عورتون چوڻ لڳيون ته عزيز جي زال پنهنجي نوجوان غلام جي پويان پئجي وئي آهي. اُن جي محبت سندس دل ۾ ويهي وئي آهي. اسان ڏسون ٿيون ته هوءَ پڌري غلطيءَ تي آهي. پوءِ جڏهن هُن انهن جو فريب ٻڌو ته انهن کي سڏائي ورتو ۽ انهن جي لاءِ هڪ مجلس تيار ڪئي ۽ انهن ۾ هرهڪ کي هڪ ڇُري ڏني ۽ يوسف کي چيو ته تون انهن جي سامهون اچ. پوءِ جڏهن عورتن ان کي ڏٺو ته هو دنگ رهجي ويون. ۽ انهن پنهنجا هٿ ڪَٽي ڇڏيا ۽ انهن چيو ته الله جي پناهه. اِهو ماڻهو نه آهي، هِي ته ڪو ڀلارو فرشتو آهي. هُن چيو هِي اِهوئي آهي، جنهن جي باري ۾ توهان مون کي ملامت ڪري رهيون هيون ۽ مون ان کي ورغلائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر هو بچي ويو. ۽ جيڪڏهن هُن اِهو نه ڪيو جيڪو آئون هن کي چئي رهي آهيان ته هو قيد ڪيو ويندو ۽ ضرور بي عزت ٿيندو. يوسف چيو اي منهنجا رب! قيد مون کي ان شيءِ کان وڌيڪ پسند آهي، جنهن ڏانهن هي مون کي سڏي رهيون آهن. ۽ جيڪڏهن تو انهن جي فريب کي مون کان پري نه ڪيو ته آئون انهن ڏانهن مائل ٿي پوندس ۽ جاهلن مان ٿي پوندس. پوءِ هن جي رب ان جي دعا قبول ڪئي ۽ انهن جي فريب کان هن کي پري ڪري ڇڏيو. بيشڪ هو ٻڌڻ وارو ۽ ڄاڻڻ وارو آهي. ٣٠-٣٤

---

هن قصي ۾ هڪ پاسي مصر جي امير طبقي جون عورتون هيون ۽ ٻئي طرف حضرت يوسفؑ. عورتن پاڻؑ کي رڳو هڪ خوبصورت جوان جي صورت ۾ ڏسي رهيون هيون. اهڙيءَ طرح حضرت يوسفؑ اُنهن عورتن کي نفس جي تسڪين جي روپ ۾ ڏسي پئي سگهيو، پر انتهائي جوش ۽ جذبي وارين حالتن ۾ به پاڻؑ ائين نه ڪيو. عورتن جو حال اِهو هو ته اُهي سڀ جون سڀ پاڻؑ جي پُرڪشش شخصيت ڏانهن متوجهه هيون. ايستائين جو سندس خيال ۾ غرق ٿي، انهن ڇريءَ سان ميوو ڪٽيندي پنهنجا هٿ زخمي ڪري ورتا. پر حضرت يوسفؑ پنهنجي سڄي توجهه خدا ڏانهن ڪيل هئا. خدا جي عظمت ۽ ڪبريائيءَ جو احساس پاڻؑ تي ايترو غالب اچي چڪو هو جو ڪا به شيءِ پاڻؑ کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهي. ڪيترو نه فرق آهي هڪ انسان ۽ ٻئي انسان ۾.

ع ١٤ ثُمَّ بَدَا لَهُمۡ مِّنۡۢ بَعۡدِ مَا رَاَوُا الۡاٰيٰتِ لَيَسۡجُنُنَّهٗ حَتّٰى حِيۡنٍ ﴿۳۵﴾ وَ دَخَلَ مَعَهُ السِّجۡنَ
فَتَيٰنِ ؕ قَالَ اَحَدُهُمَاۤ اِنِّىۡۤ اَرٰٮنِىۡۤ اَعۡصِرُ خَمۡرًا ۚ وَ قَالَ الۡاٰخَرُ اِنِّىۡۤ اَرٰٮنِىۡۤ اَحۡمِلُ فَوۡقَ
رَاۡسِىۡ خُبۡزًا تَاۡكُلُ الطَّيۡرُ مِنۡهُ ؕ نَبِّئۡنَا بِتَاۡوِيۡلِهٖ ۚ اِنَّا نَرٰٮكَ مِنَ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۳۶﴾

پوءِ نشانيون ڏسي وٺڻ کان بعد انهن ماڻهن جي سمجهه ۾ آيو ته هڪ مدت جي لاءِ هُن کي قيد ڪري ڇڏين. ۽ قيدخاني ۾ اُن سان گڏ ٻه ٻيا جوان داخل ٿيا. انهن مان هڪ (هڪ ڏينهن) چيو ته آئون خواب ۾ ڏسان ٿو ته آئون شراب نپوڙي رهيو آهيان ۽ ٻئي چيو ته آئون خواب ۾ ڏسان ٿو ته پنهنجي مٿي تي ماني کنئي اٿم جنهن مان پکي کائي رهيا آهن. اسان کي ان جو تعبير ٻڌاءِ. اسان ڏسون ٿا ته تون نيڪ ماڻهن مان آهين. ٣٥-٣٦

---

مصر جي اعليٰ طبقي جي عورتن جڏهن حضرت يوسفؑ کي پاڻ ڏانهن مائل نه ڪري سگهيون ته ان کان پوءِ انهن پاڻؑ جي لاءِ جيڪو مقام پسند ڪيو، اُهو قيدخانو هو. ڄاڪاڻ ته ان وقت

پاڻ ؑ جي حيثيت هڪ غلام جي هئي، ان ڪري قديم رواج مطابق پاڻ ؑ ڪي قيدخاني ۾ موڪلڻ جي لاءِ ڪنهن عدالتي ڪارروائي جي ضرورت نه هئي. پاڻ ؑ جو مالڪ (آقا) خود پنهنجي فيصلي سان پاڻ ؑ ڪي قيد ۾ وجهڻ جو اختيار رکندو هو.

پر قيدخانو پاڻ ؑ جي لاءِ ڪاميابيءَ جو وڏو ذريعو بڻجي ويو. اجا تائين مصر جو هڪ يا ڪجھ آفيسرن جا گهراڻا پاڻ ؑ ڪي سڃاڻيندا هئا. هاڻي ان جو امڪان پيدا ٿي ويو ته پاڻ ؑ جي شخصيت جو چرچو خود مصر جي بادشاهه تائين پهچي.

ان جي صورت اها ٿي ته پاڻ ؑ جنهن قيدخاني ۾ رکيا ويا هئا، ان ۾ ٻه ٻيا نوجوان قيد ٿي آيا. اهي ٻئي شاهي محل سان تعلق رکندا هئا. انهن ٻنهي قيدخاني ۾ خواب ڏٺو ۽ پاڻ ؑ کان ان جو تعبير پڇيو. پاڻ ؑ انهن ڪي خواب جو تعبير ٻڌائي ڇڏيو. اهو تعبير بالڪل صحيح ثابت ٿيو. ان کان پوءِ انهن مان هڪ قيدخاني مان آزاد ٿي ٻيهر شاهي محل ۾ پهتو، ته ان هڪ موقعي تي بادشاهه ڪي ٻڌايو ته قيدخاني ۾ هڪ اهڙو نيڪ انسان آهي جيڪو خواب جو بلڪل صحيح تعبير ٻڌائي ٿو. اهڙيءَ طرح پاڻ ؑ جو قيد ٿيڻ سندس لاءِ شاهي محل تائين رسائيءَ جو ابتدائي ذريعو بڻجي ويو.

قَالَ لَا يَأْتِيكُمَا طَعَامٌ تُرْزَقٰنِهٖٓ اِلَّا نَبَّاْتُكُمَا بِتَاْوِيْلِهٖ قَبْلَ اَنْ يَّاْتِيَكُمَا ؕ ذٰلِكُمَا مِمَّا
عَلَّمَنِيْ رَبِّيْ ؕ اِنِّيْ تَرَكْتُ مِلَّةَ قَوْمٍ لَّا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ هُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿۳۷﴾ وَ
اتَّبَعْتُ مِلَّةَ اٰبَآءِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ وَ اِسْحٰقَ وَ يَعْقُوْبَ ؕ مَا كَانَ لَنَآ اَنْ نُّشْرِكَ بِاللّٰهِ مِنْ
شَيْءٍ ؕ ذٰلِكَ مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ عَلَيْنَا وَ عَلَى النَّاسِ وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿۳۸﴾
يٰصَاحِبَيِ السِّجْنِ ءَاَرْبَابٌ مُّتَفَرِّقُوْنَ خَيْرٌ اَمِ اللّٰهُ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ﴿۳۹﴾ مَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ
دُوْنِهٖٓ اِلَّآ اَسْمَآءً سَمَّيْتُمُوْهَآ اَنْتُمْ وَ اٰبَآؤُكُمْ مَّآ اَنْزَلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ؕ اِنِ الْحُكْمُ
اِلَّا لِلّٰهِ ؕ اَمَرَ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا
يَعْلَمُوْنَ ﴿۴۰﴾

يوسف چيو جيڪو طعام توهان کي ملندو آهي، ان جي اچڻ کان پهرين آئون توهان کي انهن خوابن جو تعبير ٻڌائي ڇڏيندس، اِهو اُن علم مان آهي جيڪو منهنجي رب مون کي سيکاريو آهي. مون انهن ماڻهن جي مذهب کي ڇڏي ڏنو جيڪي الله تي ايمان نه ٿا آڻين ۽ اُهي ماڻهو آخرت جا منڪر آهن. ۽ مون پنهنجن بزرگن ابراهيم ۽ اسحاق ۽ يعقوب جي مذهب جي پيروي ڪئي. اسان کي اِهو حق نه آهي جو اسان ڪنهن شيءِ کي الله جو شريڪ ڪريون. اِهو الله جو فضل آهي اسان تي ۽ سڀني ماڻهن تي، پر اڪثر ماڻهو شڪر نه ٿا ڪن. اي منهنجي جيل جا ساٿيو! ڇا جدا جدا ڪيترا ئي معبود بهتر آهن يا اڪيلو هڪ زبردست الله. توهان ان کانسواءِ پوڄا نه ٿا ڪريو، پر ڪجھ نالن جي جيڪي توهان ۽ توهان جي ابن ڏاڏن رکي ورتا آهن. الله انهن جي لاءِ ڪا سندَ نازل نه ڪئي آهي. اقتدار رڳو الله جي لاءِ آهي. ان حڪم ڏنو آهي ته ان کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نه ڪريو. اهوئي سڌو دين آهي، پر گهڻا ماڻهو نه ٿا ڄاڻن. ۳۷-۴۰

نوجوان قيدين پنهنجي خواب جو تعبير ڄاڻڻ جي لاءِ حضرت يوسفؑ سان رجوع ڪيو. انهن جنهن انداز سان سوال ڪيو، ان مان صاف ظاهر ٿي رهيو هو ته هو پاڻؑ جي شخصيت کان متاثر آهن ۽ پاڻؑ جي راءِ تي اعتماد ڪندا آهن. حضرت يوسفؑ جهڙي نيڪ ۽ بااصول انسان سان هڪ عرصي تائين رهڻ کان پوءِ ائين ٿيڻ بلڪل فطري هو.

حضرت يوسفؑ جي دعوتي جذبي فورًا محسوس ڪري ورتو ته اِهو بهترين موقعو آهي ته انهن نوجوانن کي دينِ حق جو پيغام پهچايو وڃي، پر خواب جو تعبير فورًا ٻڌائي ڇڏڻ کان پوءِ انهن جي توجه پاڻؑ کان هٽي وڃي ها. تنهن ڪري پاڻؑ حڪيمانو انداز اختيار ڪيو ۽ خواب جي تعبير کي ٿوري دير جي لاءِ مؤخر ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ پاڻؑ توحيد تي مختصر تقرير ڪئي. ان ۾ مخاطب جي نفسيات جي رعايت ڪندي نهايت خوبصورت دليلن سان ان پنهنجو پيغام انهن کي ٻڌائي ڇڏيو.

وڻ، پٿر، ستارا يا ارواح وغيره کي جيڪي ماڻهو پوڄيندا آهن، ان جو راز اِهو آهي جو هو خود انهن کي مشڪل ڪشا ۽ حاجت روا جهڙا لقب ڏيندا آهن ۽ سمجهندا آهن ته حقيقت ۾ اُهي مشڪل ڪشا ۽ حاجت روا آهن، حالانڪ اهي سڀ انسان جا پنهنجا ڏنل نالا آهن،جن جو نالي کان ٻاهر ڪٿي بہ وجود نہ آهي.

يٰصَاحِبَيِ السِّجْنِ اَمَّآ اَحَدُكُمَا فَيَسْقِيْ رَبَّهٗ خَمْرًا ۚ وَ اَمَّا الْاٰخَرُ فَيُصْلَبُ فَتَاْكُلُ الطَّيْرُ
مِنْ رَّاْسِهٖ ؕ قُضِيَ الْاَمْرُ الَّذِيْ فِيْهِ تَسْتَفْتِيٰنِ ؕ﴿٤١﴾ وَ قَالَ لِلَّذِيْ ظَنَّ اَنَّهٗ نَاجٍ مِّنْهُمَا
ع ٧ اذْكُرْنِيْ عِنْدَ رَبِّكَ ۫ فَاَنْسٰىهُ الشَّيْطٰنُ ذِكْرَ رَبِّهٖ فَلَبِثَ فِي السِّجْنِ بِضْعَ سِنِيْنَ ﴿٤٢﴾
١٥

اي منهنجي قيدخاني جا ساٿيو! توهان مان هڪ پنهنجي آقا کي شراب پيئاريندو ۽ جيڪو ٻيو آهي، ان کي ڦاهي ڏني ويندي. پوءِ پکي اُن جي مٿي مان کائيندا. جنهن باري ۾ توهان پڇي رهيا هئا، ان معاملي جو فيصلو ٿي ويو آهي. ۽ يوسف اُن ماڻهوءَ کي چيو جنهن جي باري ۾ هن جو گمان هو ته بچي ويندو، ته پنهنجي آقا وٽ منهنجو ذڪر ڪجانءِ. پوءِ شيطان ان کي پنهنجي آقا سان ذڪر ڪرڻ وسارائي ڇڏيو .تنهن ڪري هو قيد ۾ ڪجھ سال پيو رهيو. ٤١-٤٢

---

ٻہ نوجوان جن کي جيل ۾ آندو ويو هو، اهي شاهہ مصر (ريان بن الوليد) جا شراب پيئارڻ وارا ۽ ماني پچائڻ وارا هئا. ٻنهي تي اهو الزام هو ته انهن بادشاهہ جي کاڌي ۾ زهر ملائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهن مان جيڪو شراب پيئارڻ وارو هو، اِهو تحقيق کان پوءِ الزام کان بَري ٿي ويو ۽ آزاديءَ کان پوءِ ٻيهر بادشاهہ کي شراب پيئارڻ جي لاءِ مقرر ٿيو. ان جي خواب جو مطلب اِهو هو ته هينئر هو بادشاهہ کي خواب ۾ شراب پيئاري رهيو آهي، ڪجھ ڏينهن کان پوءِ هو بيداريءَ ۾ هن کي شراب پيئاريندو. ماني پچائڻ وري تي الزام ثابت ٿي ويو، ان کي ڦاهي ڏني وئي ته پکي ان جو گوشت کائين ۽ هو ماڻهن جي لاءِ عبرت بڻجي وڃي.

حضرت يوسفؑ جا ٻئي تعبير بلڪل درست ثابت ٿيا، پر ساقي قيد مان ڇٽي ٻيهر محل ۾ پهتو، ته ان کي وعدي مطابق بادشاهہ سان حضرت يوسفؑ جو ذڪر ڪرڻ وسري ويو. اُن کي پنهنجو ڪيل وعدو ان وقت ياد آيو جڏهن بادشاهہ هڪ خواب ڏٺو ۽ درٻارين کي چيو ته ان جو تعبير ٻڌايو.

وَ قَالَ الۡمَلِكُ اِنِّیۡۤ اَرٰی سَبۡعَ بَقَرٰتٍ سِمَانٍ یَّاۡكُلُهُنَّ سَبۡعٌ عِجَافٌ وَّ سَبۡعَ سُنۡۢبُلٰتٍ خُضۡرٍ
وَّ اُخَرَ یٰبِسٰتٍ ؕ یٰۤاَیُّهَا الۡمَلَاُ اَفۡتُوۡنِیۡ فِیۡ رُءۡیَایَ اِنۡ كُنۡتُمۡ لِلرُّءۡیَا تَعۡبُرُوۡنَ ﴿۴۳﴾ قَالُوۡۤا
اَضۡغَاثُ اَحۡلَامٍ ۚ وَ مَا نَحۡنُ بِتَاۡوِیۡلِ الۡاَحۡلَامِ بِعٰلِمِیۡنَ ﴿۴۴﴾ وَ قَالَ الَّذِیۡ نَجَا مِنۡهُمَا وَ
ادَّكَرَ بَعۡدَ اُمَّةٍ اَنَا اُنَبِّئُكُمۡ بِتَاۡوِیۡلِهٖ فَاَرۡسِلُوۡنِ ﴿۴۵﴾

۽ بادشاهه چيو ته آئون خواب ۾ ڏسان ٿو ته ست متاريون ڍڳيون آهن. جن کي ست ڏٻريون ڍڳيون کائي رهيون آهن ۽ سَت ساوا سنگ آهن ۽ ٻيا ست سُڪل. اي درٻار وارؤ! منهنجي خواب جو تعبير مون کي ٻڌايو، جيڪڏهن توهان خواب جو تعبير ٻڌائيندا آهيو. انهن چيو اِهي خيالي خواب آهن ۽ اسان کي اِهڙن خوابن جو تعبير معلوم نه آهي. انهن ٻن قيدين مان جيڪو ماڻهو بچي ويو هو، ان کي هڪ مدت کان پوءِ ياد آيو. هن چيو ته آئون توهان کي ان جو تعبير ٻڌائيندس، جيڪڏهن مون کي (يوسف وٽ) وڃڻ ڏيو. ٤٣-٤٥

---

مصر جو بادشاهه جيتوڻيڪ مشرڪ ۽ شرابي هو، پر خدا جي طرفان ان کي مستقبل جي باري ۾ هڪ سچو خواب ڏيکاريو ويو. ان مان اندازو ٿيندو آهي ته خدا حق جي داعين جي مدد ڪهڙن طريقن سان ڪندو آهي. انهن مان هڪ طريقو اهو آهي ته ٻي ڌر کي ڪو اهڙو خواب ڏيکاريو وڃي جنهن سان هن جي ذهن تي داعيءَ جي عظمت ۽ اهميت قائم ٿئي ۽ اُن جي دل نرم ٿئي ۽ داعيءَ جي لاءِ نوان رستا کلي وڃن.

بادشاهه جي ساقيءَ جڏهن بادشاهه جو خواب ٻڌو، ته ان وقت هن کي قيدخاني جو واقعو ياد آيو. هن بادشاهه ۽ درٻارين جي سامهون پنهنجو ذاتي تجربو ٻڌايو ته ڪهڙيءَ طرح يوسف عليه السلام جي ٻڌايل خواب جو تعبير ٻنهي قيدين جي حق ۾ لفظ به لفظ صحيح ثابت ٿيو. ان کان پوءِ هو بادشاهه کان اجازت وٺي قيدخاني پهتو، ته جيئن يوسف عليه السلام کان بادشاهه جي خواب جو تعبير دريافت ڪري.

حضرت يوسف عليه السلام جي خواب جو تعبير ٻڌائڻ واري حيثيت جي تعارف سان ئي ان لاءِ قيدخاني مان ٻاهر اچڻ جو رستو کليو. خدا ائين ڪري پئي سگهيو ته ساقيءَ جي رهائيءَ کان پوءِ حضرت يوسف عليه السلام کي وڌيڪ قيدخاني ۾ نه رهڻ ڏي. هو ساقيءَ کي محل ۾ پهچندي ئي ياد ڏياري پئي سگهيو ته هو وعدي مطابق بادشاهه سان يوسف عليه السلام جو ذڪر ڪري. پر خدا جو هر ڪم پنهنجي مقرر وقت تي هوندو آهي. وقت کان پهرين ڪو ڪم ڪرڻ خدا جو طريقو نه آهي.

يُوۡسُفُ اَیُّهَا الصِّدِّیۡقُ اَفۡتِنَا فِیۡ سَبۡعِ بَقَرٰتٍ سِمَانٍ یَّاۡكُلُهُنَّ سَبۡعٌ عِجَافٌ وَّ سَبۡعِ
سُنۡۢبُلٰتٍ خُضۡرٍ وَّ اُخَرَ یٰبِسٰتٍ ۙ لَّعَلِّیۡۤ اَرۡجِعُ اِلَی النَّاسِ لَعَلَّهُمۡ یَعۡلَمُوۡنَ ﴿۴۶﴾ قَالَ تَزۡرَعُوۡنَ
سَبۡعَ سِنِیۡنَ دَاَبًا ۚ فَمَا حَصَدۡتُّمۡ فَذَرُوۡهُ فِیۡ سُنۡۢبُلِهٖۤ اِلَّا قَلِیۡلًا مِّمَّا تَاۡكُلُوۡنَ ﴿۴۷﴾ ثُمَّ یَاۡتِیۡ
مِنۡۢ بَعۡدِ ذٰلِكَ سَبۡعٌ شِدَادٌ یَّاۡكُلۡنَ مَا قَدَّمۡتُمۡ لَهُنَّ اِلَّا قَلِیۡلًا مِّمَّا تُحۡصِنُوۡنَ ﴿۴۸﴾ ثُمَّ یَاۡتِیۡ

ع ٦/٧ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ عَامٌ فِيْهِ يُغَاثُ النَّاسُ وَ فِيْهِ يَعْصِرُوْنَ ﴿٤٩﴾ ١٦

اي سچا يوسف! مون کي ان خواب جو مطلب ٻڌاءِ تہ ست متاريون ڍڳيون آهن جن کي ست ڏٻريون ڍڳيون کائي رهيون آهن ۽ ست ساوا سنگ آهن ۽ ٻيا ست سُڪل تہ جيئن آئون انهن ماڻهن وٽ وڃانِ تہ جيئن اهي ڄاڻي وٺن. يوسف چيو تہ توهان ستن سالن تائين لڳاتار پوک ڪندا رهو. پوءِ جيڪو فصل توهان لڻو، تنهن مان سواءِ ٿوري جي جيڪي کائو ٻيو سڀ انهن سنگن ۾ رهڻ ڏيو. ان کان پوءِ وري ست سال سختي (ڏڪار) جا ايندا جيڪي ڪجھ بچائي رکيو هوندو، تنهن کي کائي ويندا. سواءِ ٿوري جي جيڪو توهان حفاظت سان سانڍي رکيو هوندو، ان کان پوءِ هڪ سال ايندو، جنهن ۾ ماڻهن تي مينهن وسندو ۽ هو ان ۾ خوب رس نپوڙيندا. ٤٦-٤٩

---

حضرت يوسفؑ بادشاھ جي خواب جو تعبير اهو ٻڌايو تہ ست متاريون ڍڳيون ۽ ست ساوا سنگ ست سال آهن. انهن ۾ مسلسل سٺي پيداوار ٿيندي. جانور ۽ پوک خوب وڌندا. ان کان پوءِ ست سال ڏڪار جا هوندا، جنهن ۾ توهان سڄو ذخيرو کيل کائي ختم ڪري ڇڏيندؤ. صرف آئنده ٻج لاءِ ٿورو باقي رهجي ويندو. اِهي پوءِ اچڻ وارا ست سال ڄڻ تہ اِهي ڏٻريو ڍڳيون ۽ سُڪا سنگ آهن جيڪي اڳ جي متارين ڍڳين ۽ ساون سنگن جو خاتمو ڪري ڇڏيندا.

ان سان گڏ ئي حضرت يوسفؑ ان جي تدبير بہ ٻڌائي ڇڏي. پاڻؑ چيو پهرين ستن سالن ۾ جيڪا پيداوار ٿئي ان کي نهايت حفاظت سان رکو ۽ ڪفايت سان خرچ ڪريو. ضروري خوراڪ کان وڌيڪ جيڪو اَنُ هجي ان کي سنگ جي اندر رهڻ ڏيو. اهڙيءَ طرح اهو ڪيڙي وغيره کان محفوظ رهندو ۽ ست سالن جي پيداوار چوڏهن سالن تائين ڪم ايندي. وڌيڪ پاڻ اها بہ خوشخبري ڏني تہ ست سال ڏڪار کان پوءِ جيڪو سال ايندو، اهو ٻيهر فراواني ۽ خوشحاليءَ جو سال هوندو، ان ۾ خوب مينهن پوندو ۽ ڪثرت سان کير ۽ ميوا ماڻهن کي حاصل ٿيندا.

الله تعاليٰ بادشاھ کي هڪ عجيب خواب ڏيکاريو ۽ حضرت يوسفؑ جي ذريعي ان جي ڪامياب تعبير ظاهر فرمائي. اهڙيءَ طرح پاڻؑ جي لاءِ اهو موقعو فراهم ڪيو ويو تہ مصر جي نظام حڪومت ۾ پاڻؑ کي نهايت اعليٰ مقام حاصل ٿئي.

وَ قَالَ الْمَلِكُ ائْتُوْنِيْ بِهٖ ۚ فَلَمَّا جَآءَهُ الرَّسُوْلُ قَالَ ارْجِعْ اِلٰى رَبِّكَ فَسْــَٔلْهُ مَا بَالُ النِّسْوَةِ الّٰتِيْ قَطَّعْنَ اَيْدِيَهُنَّ ؕ اِنَّ رَبِّيْ بِكَيْدِهِنَّ عَلِيْمٌ ﴿٥٠﴾ قَالَ مَا خَطْبُكُنَّ اِذْ رَاوَدْتُّنَّ يُوْسُفَ عَنْ نَّفْسِهٖ ؕ قُلْنَ حَاشَ لِلّٰهِ مَا عَلِمْنَا عَلَيْهِ مِنْ سُوْٓءٍ ؕ قَالَتِ امْرَاَتُ الْعَزِيْزِ الْـٰٔنَ حَصْحَصَ الْحَقُّ ۫ اَنَا رَاوَدْتُّهٗ عَنْ نَّفْسِهٖ وَ اِنَّهٗ لَمِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٥١﴾

۽ بادشاھ چيو تہ هن کي مون وٽ وٺي اچو. پوءِ جڏهن قاصد هن وٽ آيو تہ هن چيو تہ تون پنهنجي آقا وٽ واپس وڃ ۽ هن کان پڇ تہ انهن عورتن جو ڇا معاملو آهي، جن پنهنجا هٿ ڪَٽي وڌا هئا. منهنجو رب تہ انهن جي فريب کان خوب واقف آهي. بادشاھ پڇيو توهان جو ڇا معاملو آهي، جڏهن توهان يوسف کي ورغلائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. انهن چيو الله جي پناھ. اسان ان ۾ ڪا بہ برائي نہ ڏٺي. عزيز جي زال چيو هاڻي حق پڌرو ٿي ويو. مون ئي ان کي ورغلائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ بيشڪ هو سچو آهي. ٥٠-٥١

---

قيدخاني مان نڪري حضرت يوسفؑ ڪي ملڪ ۾ هڪ وڏو ڪردار ادا ڪرڻو هو، ان جي لاءِ ضروري هو ته پاڻؑ جي شخصيت ملڪي سطح تي هڪ مشهور شخصيت بڻجي وڃي. ان جي صورت بادشاهه جي خواب ذريعي پيدا ٿي وئي. بادشاهه هڪ عجيب خواب ڏٺو هو، ان جي تعبير جي لاءِ ايترو بيچين ٿيو جو عام اعلان ڪرائي

سڄي ملڪ جي عالمن، پيرن ۽ دانشورن ڪي پنهنجي دربار ۾ جمع ڪيو ۽ انهن ڪي چيائين ته هو خواب جي تعبير ٻڌائين، پر سڀ جا سڀ عاجز رهيا. اهڙي طرح خواب جو واقعو مشهور واقعو بڻجي ويو. جڏهن حضرت يوسفؑ خواب جيڪو تعبير بيان ڪيو ۽ بادشاهه ان تعبير ڪي پسند ڪيو ته اوچتو حضرت يوسفؑ سڄي ملڪ وارن جي نظرن ۾ اچي ويا.

بادشاهه سڄي ڳالهه ٻڌڻ ڪان پوءِ ان معاملي جي متعلق عورتن ڪان تحقيق ڪئي. سيني هڪ زبان ٿي ڪري حضرت يوسفؑ ڪي الزام ڪان بري قرار ڏنو. عزيز مصر جي زال حق جي اعتراف ۾ سيني ڪان اڳيان نڪري وئي. ان صاف لفظن ۾ اعلان ڪيو ته هاڻي سچائي ظاهر ٿي چڪي آهي. حقيقت اها آهي ته سڄو قصور منهنجو هو. يوسفؑ جو ڪجهه به قصور نه هو. عزيز مصر جي زال (زليخا) جو اهو اقرار ايترو عظيم عمل آهي ته عجب نه آهي ته ان ڪان پوءِ ان کي ايمان جي توفيق ڏني وئي هجي.

ذٰلِكَ لِيَعْلَمَ اَنِّيْ لَمْ اَخُنْهُ بِالْغَيْبِ وَاَنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ كَيْدَ الْخَآئِنِيْنَ ﴿٥٢﴾

وَمَآ اُبَرِّئُ نَفْسِيْ ۚ اِنَّ النَّفْسَ لَاَمَّارَةٌۢ بِالسُّوْٓءِ اِلَّا مَا رَحِمَ رَبِّيْ ۭ اِنَّ رَبِّيْ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٥٣﴾ الجزء الثالث عشر (١٣)

هِي اُن لاءِ ته (عزيز مصر) اِهو ڄاڻي وٺي ته مون سندس پٺ پويان ان جي خيانت نه ڪئي هئي. ۽ بيشڪ الله خيانت ڪرڻ وارن جي چال ڪي ڪامياب ٿيڻ نه ٿو ڏي. ۽ آئون پنهنجي نفس ڪي پاڪ نه ٿو ڀانيان. نفس ته برائي ئي سيکاري ٿو، سواءِ اُن جي جو منهنجو رب رحم فرمائي. بيشڪ منهنجو رب بخشڻ وارو مهربان آهي. ٥٢-٥٣

---

بادشاهه جڏهن حضرت يوسفؑ ڪي سڏيو ته پاڻؑ فورًا قيد خاني ڪان ٻاهر نه آيا. بلڪ اِهو چيائين ته پهرين ان واقعي جي تحقيق هئڻ گهرجي جنهن ڪي بهانو بڻائي مون ڪي قيد ڪيو ويو هو. خدا وٽ جيتوڻيڪ پاڻؑ پوري طرح الزام ڪان بري هئا، پر مسئلو اِهو هو ته پاڻؑ ڪي عوام جي وچ ۾ پيغمبري جو ڪم سرانجام ڏيڻو هو. يعني خدا جي هدايت واري امانت ڪي سندس ٻانهن تائين پهچائڻو هو. مٿي ذڪر ڪيل واقعي ۾ پاڻؑ تي پنهنجي آقا سان خيانت جو الزام لڳايو ويو هو. اِهو هڪ تمام نازڪ معاملو هو ۽ عوام جي سامهون اچڻ ڪان پهرين ضروري هو ته پاڻؑ تان اِهو الزام ختم ٿئي، ڇاڪاڻ ته جنهن شخص ڪي ماڻهو ٻانهن جي معاملي ۾ امانتدار نه سمجهن، ان کي هُو خدا جي معاملي ۾ امانتدار نه ٿا سمجهي سگهن.

مؤمن هڪ ئي وقت ۾ ٻن شين جي وچ ۾ هوندو آهي. هڪ انسان ۽ ٻيو خدا. ڪڏهن ائين ٿيندو

آهي ته اُن ڪي انسانن جي نسبت سان معاملي جي وضاحت جي لاءِ ڪو اِهڙو جملو ڳالهائڻو پوندو آهي جنهن ۾ بظاهر دعا جو پهلو نظر ايندو آهي، پر ان جي دل ان وقت به عاجزي جي احساس سان ڀريل هوندي آهي. ڇاڪاڻ ته جڏهن هو پنهنجي پاڻ ڪي خدا جي نسبت سان ڏسندو آهي ته هو ڏسي ٿو ته خدا جي نسبت سان هو صرف عاجز آهي، ان ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي. خدا جو تصور هر گهڙي مؤمن کي عاجزي اختيار ڪرڻ تي مائل ڪندو رهي ٿو. حضرت يوسف عليه السلام جو مٿي ذڪر ڪيل ڪلام مؤمن جي شخصيت جي اُن ٻنهي پهلوئن جي تصوير آهي.

وَ قَالَ الْمَلِكُ ائْتُوْنِيْ بِهٖۤ اَسْتَخْلِصْهُ لِنَفْسِيْ ۚ فَلَمَّا كَلَّمَهٗ قَالَ اِنَّكَ الْيَوْمَ لَدَيْنَا مَكِيْنٌ اَمِيْنٌ ﴿۵۴﴾ قَالَ اجْعَلْنِيْ عَلٰى خَزَآئِنِ الْاَرْضِ ۚ اِنِّيْ حَفِيْظٌ عَلِيْمٌ ﴿۵۵﴾ وَ كَذٰلِكَ مَكَّنَّا لِيُوْسُفَ فِي الْاَرْضِ ۚ يَتَبَوَّاُ مِنْهَا حَيْثُ يَشَآءُ ؕ نُصِيْبُ بِرَحْمَتِنَا مَنْ نَّشَآءُ وَ لَا نُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۵۶﴾ وَ لَاَجْرُ الْاٰخِرَةِ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ كَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿۵۷﴾ ع

۽ بادشاھ چيو اُن ڪي مون وٽ وٺي اچو. آئون اُن ڪي خاص پنهنجي لاءِ رکندس. پوءِ جڏهن يوسف ان سان ڳالهه ڪئي ته بادشاھ چيو اڄ کان تون اسان وٽ معزز ۽ امانتدار آهين. يوسف چيو ته مون ڪي ملڪ جي خزانن تي مقرر ڪري ڇڏ. آئون حفاظت ڪرڻ به ڄاڻان ٿو ۽ علم وارو به آهيان. ۽ اهڙي طرح اسان يوسف ڪي ملڪ ۾ بااختيار بڻائي ڇڏيو. هو ان ۾ جتي چاهي جاءِ ٺاهي. اسان جنهن ڪي چاهيون پنهنجي رحمت سان نوازيون ۽ اسان نيڪي ڪرڻ وارن جو اجر ضايع نه ٿا ڪريون. ۽ آخرت جو اجر اجا وڌيڪ گهڻو آهي ايمان ۽ تقويٰ وارن جي لاءِ. ٥٤-٥٧

---

”مون ڪي زمين جي خزانن تي مقرر ڪري ڇڏيو.“ هِتي خزانن مان مراد اَنُ ۽ خوراڪ جا ذخيره آهن. حضرت يوسف عليه السلام بادشاھ ڪي پنهنجي طرف متوجهه ڏسي شاھ مصر ڪان اِهو اختيار گهريو ته هُو حڪومتي وسائل جي ذريعي سڄي ملڪ ۾ اَنُ ۽ خوراڪ جا وڏا وڏا گودام ٺهرائي ته جيئن ابتدائي سٺن سالن ۾ هارين ڪان اضافي اَنُ وٺي اُتي محفوظ ڪري سگهجي. (تفسير ابن ڪثير)

بادشاھ راضي ٿي ويو ۽ پنهنجي آئيني ۽ قانوني اقتدار جي تحت پاڻ عليه السلام کي هر قسم جو اختيار ڏنو ويو.

مصر جو بادشاھ مشرڪ هو. آيت ٧٦ مان معلوم ٿيندو آهي ته حضرت يوسف عليه السلام کي مقرر ڪرڻ ڪان پوءِ به تقريبًا ڏهن سالن تائين ان ئي بادشاھ جو قانون (دين الملڪ) مصر ۾ رائج هو. اِهو خدا جي هڪ پيغمبر جو نمونو آهي جيڪو ٻڌائي ٿو ته غير مسلم حڪومت تحت ڪو عهدو قبول ڪرڻ اسلام جي خلاف نه آهي، ان جي ڪري اڳين وقتن جي ماڻهن ظالم بادشاهن جي هيٺ (جج) يا قاضي جا عهدا قبول ڪيا. (تفسير النسفي).

مصر ۾ اختيار سنڀالڻ سان حضرت يوسف عليه السلام جو مقصد ڇا هو، قرآن جي تفصيل مان بظاهر ان جو مقصد اِهو معلوم ٿيندو آهي ته خدا جي ٻانهن ڪي وڏي ڏڪار جي مصيبت ڪان بچايو وڃي ۽ پوءِ ان جي نتيجي ۾ بني اسرائيل جي لاءِ مصر ۾ آباد ٿيڻ جو موقعو فراهم ڪيو وڃي.

ايمان ۽ تقويٰ جو رستو اختيار ڪرڻ وارن جي لاءِ خدا هميشه واري جنت جو يقيني وعدو ڪيو آهي. دنيا جي زندگي ۾ به انهن کي خدا جي مدد حاصل ٿيندي آهي. پوءِ به ان ۾ هڪ فرق آهي، جيستائين حق جي اعلان جو معاملو آهي ان جي توفيق هر هڪ کي هڪ جهڙي ملندي آهي. پر عمل جي ميدان ۾ سيني جي مدد هڪ جهڙي انداز ۾ نه ٿيندي آهي. اِها مدد ڪنهن کي هڪ صورت ۾ ملندي آهي ۽ ڪنهن کي ٻي صورت ۾.

وَ جَآءَ اِخْوَةُ يُوْسُفَ فَدَخَلُوْا عَلَيْهِ فَعَرَفَهُمْ وَ هُمْ لَهٗ مُنْكِرُوْنَ ﴿٥٨﴾ وَ لَمَّا جَهَّزَهُمْ بِجَهَازِهِمْ قَالَ ائْتُوْنِيْ بِاَخٍ لَّكُمْ مِّنْ اَبِيْكُمْ ۚ اَلَا تَرَوْنَ اَنِّيْۤ اُوْفِي الْكَيْلَ وَ اَنَا خَيْرُ الْمُنْزِلِيْنَ ﴿٥٩﴾ فَاِنْ لَّمْ تَاْتُوْنِيْ بِهٖ فَلَا كَيْلَ لَكُمْ عِنْدِيْ وَ لَا تَقْرَبُوْنِ ﴿٦٠﴾ قَالُوْا سَنُرَاوِدُ عَنْهُ اَبَاهُ وَ اِنَّا لَفٰعِلُوْنَ ﴿٦١﴾

۽ حضرت يوسف جا ڀائر مصر آيا پوءِ ان وٽ پهتا. پوءِ يوسف کين سڃاڻي ورتو. ۽ انهن يوسف کي نه سڃاتو. ۽ جڏهن هُن سندن سامان تيار ڪرائي ڇڏيو ته چيائين ته پنهنجي پيئٽي ڀاءُ کي به مون وٽ وٺي اچجو. توهان ڏسو نه ٿا ته آئون اَن به پوري ماپ ڪري ڏيندو آهيان ۽ بهترين مهمان نوازي ڪرڻ وارو به آهيان. ۽ جيڪڏهن توهان ان کي مون وٽ نه وٺي آيا ته نه مون وٽ توهان جي لاءِ اَن آهي ۽ نه توهان مون وٽ اچجو. انهن چيو اسان ان جي باري ۾ ان جي پيءُ کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسون ۽ اسان کي اِهو ڪم ڪرڻو آهي. ٥٨-٦١

---

حضرت يوسفؑ جي اقتدار جي ابتدائي ست سالن تائين خوب فصل پيدا ٿيا. پاڻ سڄي ملڪ ۾ وڏا وڏا گودام ٺهرايا ۽ هارين کان سندن اضافي اَن خريد ڪري هر سال انهن گودامن ۾ محفوظ ڪندا رهيا. اُن کانپوءِ جڏهن ڏڪار وارا سال شروع ٿيا ته پاڻ اُن اَن کي گادي جي هنڌ گهرائي مناسب قيمت تي وڪڻڻ شروع ڪري ڇڏيو.

اِهو ڏڪار ڇاڪاڻ مصر کان علاوه آس پاس جي علائقن (شام، فلسطين، اردن وغيره) تائين پکڙيل هو، ان ڪري جڏهن اِها خبر مشهور ٿي ته مصر ۾ اَنُ سستي قيمت تي وڪرو ٿي رهيو آهي ته يوسفؑ جا ڀائر به اَنُ وٺڻ جي لاءِ مصر آيا. هِتي حضرت يوسفؑ کي جيتوڻيڪ انهن ويهن سالن کانپوءِ ڏٺو هو، پوءِ به پاڻؑ جي شڪل و صورت ۾ انهن کي پنهنجي ڀاءُ جي جهلڪ نظر آئي. پر جلد ئي انهن ان خيال کي پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته سندن سمجهه ۾ نه آيو ته جنهن ماڻهو کي هو کوهه ۾ اڇلائي چڪا هئا، اِهو مصر جي تخت تي ڪيئن ويهي سگهي ٿو.

حضرت يوسفؑ پنهنجي ڀائرن کي هڪ هڪ اٺ اَنُ ڏياريو. پوءِ سندن دل ۾ اِها خواهش ٿئي ته بنيامين جي نالي تي هڪ اٺ وڌيڪ اَنُ حاصل ڪن. انهن درخواست ڪئي ته اسان جي هڪ ڀاءُ (بنيامين) کي اسان جي پوڙهي پيءُ پاڻ وٽ روڪي ورتو آهي. جيڪڏهن اسان کي ان ڀاءُ جي حصي جو اَنُ به ڏنو وڃي ته وڏي مهرباني ٿيندي. حضرت يوسفؑ چيو ته غائب جو حصو ڏيڻ اسان جو طريقو نه آهي. توهان جڏهن ٻيهر اچو ته پنهنجي اُن ڀاءُ کي به گڏ وٺي اچجو. ان وقت توهان اُن جو حصو حاصل ڪري سگهندو. توهان منهنجي بخشش جو حال ڏسي چڪا آهيو. ڇا ان کان پوءِ به توهان کي پنهنجي ڀاءُ

كي آڏڻ ۾ تردد آهي. حضرت يوسفؑ وڏيڪ چيو ته جنهن ڀاءُ جو ذڪر توهان ڪري رهيا آهيو،
جيڪڏهن توهان ٻئي دفعي ان کي نه وٺي آيا ته اهو سمجهيو ويندؤ ته توهان ڪوڙ ڳالهائيندا آهيو ۽
دوکو ڏئي هڪ وڏيڪ اٺ اُن جو حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا. ان جي سزا اِها ٿيندي ته آئنده خود توهان جي
حصي جو اَنُ به توهان کي نه ڏنو ويندو.

وَ قَالَ لِفِتْيٰنِهِ اجْعَلُوْا بِضَاعَتَهُمْ فِيْ رِحَالِهِمْ لَعَلَّهُمْ يَعْرِفُوْنَهَآ اِذَا انْقَلَبُوْٓا اِلٰٓى
اَهْلِهِمْ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ۝٦٢ فَلَمَّا رَجَعُوْٓا اِلٰٓى اَبِيْهِمْ قَالُوْا يٰٓاَبَانَا مُنِعَ مِنَّا الْكَيْلُ
فَاَرْسِلْ مَعَنَآ اَخَانَا نَكْتَلْ وَ اِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ۝٦٣ قَالَ هَلْ اٰمَنُكُمْ عَلَيْهِ اِلَّا كَمَآ
اَمِنْتُكُمْ عَلٰٓى اَخِيْهِ مِنْ قَبْلُ ؕ فَاللّٰهُ خَيْرٌ حٰفِظًا ۪ وَّ هُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ۝٦٤

۽ اُن پنهنجي ڪامورن کي چيو ته سندن مال (موڙي) سندن سامان ۾ رکي ڇڏيو ته جيئن جڏهن هو پنهنجي گهر
پهچن ته ان کي سڃاڻي وٺن، شايد اُهي وري موٽي اچن. پوءِ جڏهن هو پنهنجي پيءُ وٽ موٽيا ته چيائون ته اي
بابا! اسان کي اَنُ ڏيڻ کان روڪيو ويو آهي، تنهن ڪري اسان جي ڀاءُ (بنيامين) کي اسان سان گڏ وڃڻ ڏي ته
اسان اَنُ آڻيون ۽ اسان ان جا نگهبان آهيون. يعقوب چيو ڇا آئون ان جي باري ۾ توهان جو اهڙو ئي اعتبار
ڪريان جهڙو اِن کان پهرين سندس ڀاءُ جي باري ۾ توهان جو اعتبار ڪري چڪو آهيان. بس الله ئي بهترين
نگهبان آهي ۽ اُهو سڀني مهربانن کان وڏيڪ مهربان آهي. ٦٢-٦٤

---

حضرت يوسفؑ شايد ڀائرن کان قيمت وٺڻ مروت جي خلاف سمجهيو يا ان خيال سان ته
مال جي ڪمي شايد انهن جي ٻيهر اچڻ ۾ رڪاوٽ نه بڻجي وڃي، پنهنجن ماڻهن کي هدايت ڪئي ته
جيڪا رقم انهن اَنُ جي قيمت طور ادا ڪئي هئي، اِها خاموشيءَ سان سندن سامان ۾ وجهي ڇڏين ته
جڏهن اُهي گهر وڃي پنهنجو سامان کولين ته اُهي پنهنجي موڙي ڏسي وٺن ۽ پنهنجي ڀاءُ بنيامين کي
وٺي ٻيهر هتي اچن.

حضرت يعقوبؑ هڪ ڀاسي بنيامين جي معاملي ۾ پنهنجن پٽن تي بي اعتماديءَ جو اظهار
ڪيو، ٻئي طرف اِهو به فرمايو ته توهان کي يا ٻئي ڪنهن کي ڪا به طاقت حاصل نه آهي. ٿيٽو اِهوئي
آهي جيڪو خدا چاهيندو. پر اِهو ٿيڻ انسان جي هٿان ڪرايو ويندو آهي ته جيئن جيڪو بُرو آهي اِهو
برائي ڪري پنهنجي حقيقت کي ثابت ڪري ڇڏي ۽ جيڪو ڀلو آهي اهو ڀلائي ڪري پنهنجي پاڻ کي اُن
فهرست ۾ لکرائي جنهن جو هو حقدار آهي.

وَ لَمَّا فَتَحُوْا مَتَاعَهُمْ وَجَدُوْا بِضَاعَتَهُمْ رُدَّتْ اِلَيْهِمْ ؕ قَالُوْا يٰٓاَبَانَا مَا نَبْغِيْ ؕ هٰذِهٖ
بِضَاعَتُنَا رُدَّتْ اِلَيْنَا ۚ وَ نَمِيْرُ اَهْلَنَا وَ نَحْفَظُ اَخَانَا وَ نَزْدَادُ كَيْلَ بَعِيْرٍ ؕ ذٰلِكَ كَيْلٌ
يَّسِيْرٌ۝٦٥ قَالَ لَنْ اُرْسِلَهٗ مَعَكُمْ حَتّٰى تُؤْتُوْنِ مَوْثِقًا مِّنَ اللّٰهِ لَتَاْتُنَّنِيْ بِهٖٓ اِلَّآ اَنْ يُّحَاطَ
بِكُمْ ۚ فَلَمَّآ اٰتَوْهُ مَوْثِقَهُمْ قَالَ اللّٰهُ عَلٰى مَا نَقُوْلُ وَكِيْلٌ۝٦٦

۽ جڏهن انهن پنهنجو سامان کوليو ته ڏٺائون ته سندن مُوڙي به کين موٽائي ڏني وئي آهي. انهن چيو اي اسان جا بابا! اسان کي ٻيو ڇا کپي، هِي اسان جي مُوڙي به اسان کي موٽائي ڏني وئي آهي. هاڻي اسان ويندا سون ۽ پنهنجي گهر وارن لاءِ اَنُ وٺي اينداسون. ۽ پنهنجي ڀاءُ جي حفاظت ڪنداسون. ۽ هڪ اٺ جو بار وڌيڪ آڻينداسون. اِهو اَنُ ته ٿورو آهي. يعقوب چيو آئون هِن کي توهان سان گڏ هرگز نه موڪليندس، جيستائين توهان مون کي الله جي نالي تي اِهو پختو عهد نه ڏيو ته توهان ان کي ضرور مون وٽ موٽائي وٺي ايندؤ، سواءِ اُن جي جو توهان سڀ گهيرجي وڃو. پوءِ جڏهن انهن اُن کي پنهنجو پڪو عهد ڏنو، ان چيو ته جيڪو ڪجهه اسان چئي رهيا آهيون، ان تي الله نگهبان آهي. ٦٥-٦٦

---

گهر موٽي جڏهن انهن ڏٺو ته سندن رقم سندن اَنُ جي ٻوري ۾ موجود آهي ته اُهي ڏاڍا خوش ٿيا. اُنهن پنهنجي والد کي چيو ته توهان ضرور اسان سان گڏ بنيامين کي وڃڻ ڏيو. اسان اُن جي پوري حفاظت ڪنداسون ۽ پنهنجي حصي کان علاوه اُن جي حصي جو به وڌيڪ هڪ اٺ اَنُ آڻينداسون. اِهو اَنُ جيڪو اسان آندو آهي اِهو ته ضرورت کان ٿورو آهي.

حضرت يوسف عليه السلام اَن جي تقسيم جو جيڪو نظام قائم ڪيو هو، اُن جي تحت شايد ايئن هُو جو ٻاهر جي هڪ ماڻهوءَ کي هڪ اٺ اَنُ ڏنو ويندو هو.

وَ قَالَ يٰبَنِيَّ لَا تَدْخُلُوْا مِنْۢ بَابٍ وَّاحِدٍ وَّ ادْخُلُوْا مِنْ اَبْوَابٍ مُّتَفَرِّقَةٍ ؕ وَ مَاۤ اُغْنِيْ عَنْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ؕ اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ ۚ وَ عَلَيْهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُتَوَكِّلُوْنَ ﴿٦٧﴾ وَ لَمَّا دَخَلُوْا مِنْ حَيْثُ اَمَرَهُمْ اَبُوْهُمْ ؕ مَا كَانَ يُغْنِيْ عَنْهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ اِلَّا حَاجَةً فِيْ نَفْسِ يَعْقُوْبَ قَضٰىهَا ؕ وَ اِنَّهٗ لَذُوْ عِلْمٍ لِّمَا عَلَّمْنٰهُ وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٦٨﴾ ع

۽ يعقوب چيو ته اي منهنجا پٽڙؤ! توهان سڀ هڪ ئي دروازي مان داخل نه ٿجو، بلڪ الڳ الڳ دروازن مان داخل ٿجو ۽ آئون توهان کي الله جي ڪنهن ڳالهه کان نه ٿو بچائي سگهان، حڪم ته بس الله جو آهي. آئون ان ئي تي ڀروسو ڪريان ٿو ۽ ڀروسو ڪرڻ وارن کي ان ئي تي ڀروسو ڪرڻ کپي. ۽ جڏهن اُهي داخل ٿيا جتان انهن جي پيءُ انهن کي هدايت ڪئي هئي ۽ هو انهن کي الله جي ڪنهن به ڳالهه کان نه بچائي پيو سگهي. اُهو ته صرف يعقوب جي دل ۾ هڪ خيال هو جيڪو اُن پورو ڪيو. بيشڪ هُو اسان جي ڏنل تعليم جي ڪري صاحب علم هو، پر اڪثر ماڻهو نه ٿا ڄاڻن. ٦٧-٦٨

---

مصر جو قديم گادي وارو شهر هڪ اهڙو شهر هو، جنهن جي چئني پاسي بلند ڀت هئي ۽ مختلف رخن کان اندر داخل ٿيڻ لاءِ دروازا نهيل هئا. حضرت يعقوب عليه السلام جو پنهنجي پٽن کي اِهو چوڻ ته توهان گڏجي هڪ ئي در مان داخل نه ٿجو. بلڪ مختلف دروازن مان داخل ٿجو، ان انديشي جي ڪري هو ته انهن جا دشمن انهن کي هلاڪ ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪن. (قيل انّه احب ان لا يفطن بهم اعداؤهم فيحتا لوا لاهلاكهم - تفسير النسفي).

ان انديشي جو معاملو هِن سورة جي آيت نمبر ٧٣ مان واضح آهي. جنهن ۾ يوسف عليه السلام جي

يائرن پنهنجي بي گناهي هنن لفظن ۾ بيان ڪئي ته اسان هِتي فساد جي لاءِ يا چوري جي لاءِ نه آيا آهيون. يوسف عليه السلام جا ڀائر مصر ۾ ٻاهران آيا هئا. سندن لباس مقامي ماڻهن جي لباس ڪان مختلف هو. اُهي پنهنجي حُليي منجهان يقيناً مصر وارن کي اجنبي ڏسڻ ۾ آيا هوندا. اهڙن ٻارهن ماڻهن جو گڏجي شهر ۾ داخل ٿيڻ، ڪين ماڻهن جي نظر ۾ مشڪوڪ بڻائي پيو سگهي. ان ڪري مقامي ماڻهن سان غير ضروري ٽڪراءَ کان بچڻ جي لاءِ اُنهن کي اِها هدايت ڪئي ته شهر ۾ داخل ٿيو ته گڏجي هڪ جتي جي صورت ۾ داخل نه ٿجو.

مؤمن جي نظر هڪ طرف خدا جي ڪامل قدرت تي هوندي آهي. هو ڏسي ٿو ته هن ڪائنات ۾ خدا کانسواءِ ڪنهن کي ڪو اختيار حاصل نه آهي. اُن سان ئي گڏ هو ڄاڻي ٿو ته هي دنيا امتحان جو گهر آهي. هِتي امتحان جي مصلحت جي ڪري خدا هر معاملي کي ظاهري اسبابن جي تحت رکيو آهي. اِهوئي سبب هو جو حضرت يعقوب هڪ پاسي پنهنجي پٽن کي دنياوي تدبير اختيار ڪرڻ جي تلقين فرمائي، ٻئي پاسي اهو به فرمايو ته جيڪو ڪجهه ٿيندو خدا جي حڪم سان ٿيندو. ڇاڪاڻ ته هتي خدا کانسواءِ ڪنهن کي ڪا طاقت حاصل نه آهي.

وَ لَمَّا دَخَلُوْا عَلٰى يُوْسُفَ اٰوٰۤى اِلَيْهِ اَخَاهُ قَالَ اِنِّيْۤ اَنَا اَخُوْكَ فَلَا تَبْتَئِسْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٦٩﴾ فَلَمَّا جَهَّزَهُمْ بِجَهَازِهِمْ جَعَلَ السِّقَايَةَ فِيْ رَحْلِ اَخِيْهِ ثُمَّ اَذَّنَ مُؤَذِّنٌ اَيَّتُهَا الْعِيْرُ اِنَّكُمْ لَسٰرِقُوْنَ ﴿٧٠﴾ قَالُوْا وَ اَقْبَلُوْا عَلَيْهِمْ مَّا ذَا تَفْقِدُوْنَ ﴿٧١﴾ قَالُوْا نَفْقِدُ صُوَاعَ الْمَلِكِ وَ لِمَنْ جَآءَ بِهٖ حِمْلُ بَعِيْرٍ وَّ اَنَا بِهٖ زَعِيْمٌ ﴿٧٢﴾ قَالُوْا تَاللّٰهِ لَقَدْ عَلِمْتُمْ مَّا جِئْنَا لِنُفْسِدَ فِي الْاَرْضِ وَ مَا كُنَّا سٰرِقِيْنَ ﴿٧٣﴾ قَالُوْا فَمَا جَزَآؤُهٗۤ اِنْ كُنْتُمْ كٰذِبِيْنَ ﴿٧٤﴾ قَالُوْا جَزَآؤُهٗ مَنْ وُّجِدَ فِيْ رَحْلِهٖ فَهُوَ جَزَآؤُهٗ ؕ كَذٰلِكَ نَجْزِي الظّٰلِمِيْنَ ﴿٧٥﴾ فَبَدَاَ بِاَوْعِيَتِهِمْ قَبْلَ وِعَآءِ اَخِيْهِ ثُمَّ اسْتَخْرَجَهَا مِنْ وِّعَآءِ اَخِيْهِ ؕ كَذٰلِكَ كِدْنَا لِيُوْسُفَ ؕ مَا كَانَ لِيَاْخُذَ اَخَاهُ فِيْ دِيْنِ الْمَلِكِ اِلَّاۤ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ؕ نَرْفَعُ دَرَجٰتٍ مَّنْ نَّشَآءُ ؕ وَ فَوْقَ كُلِّ ذِيْ عِلْمٍ عَلِيْمٌ ﴿٧٦﴾

۽ جڏهن اُهي يوسف وٽ پهتا ته اُن پنهنجي ڀاءُ کي پاڻ وٽ ترسايو. چيائين ته آئون تنهنجو ڀاءُ (يوسف) آهيان. تنهن ڪري غم نه ڪر اُن تي جيڪو هو ڪري رهيا آهن. پوءِ جڏهن سندن سامان تيار ڪرائي ڇڏيو ته پيئڻ جو هڪ پيالو پنهنجي ڀاءُ جي سامان ۾ رکي ڇڏيو. پوءِ هڪ پڪارڻ واري پڪاريو ته اي قافلي وارؤ! توهان چور آهيو. انهن ان ڏانهن متوجه ٿي ڪري چيو توهان جي ڪهڙو شيءِ وڃائجي وئي آهي. انهن چيو اسان بادشاهه جو (ماپ) وارو پيالو وڃايو آهي. ۽ جيڪو ان کي آڻيندو ان جي لاءِ هڪ اٺ جو بار آهي ۽ آئون ان جو ضامن آهيان. انهن چيو الله جو قسم توهان کي معلوم آهي ته اسان هِن ملڪ ۾ فساد ڪرڻ جي لاءِ نه آيا آهيون ۽ نه اسان ڪڏهن به چور هئاسون. انهن چيو جيڪڏهن توهان ڪوڙا نڪتا ته اُن چوري ڪرڻ واري جي سزا

ڇا آهي. انهن چيو ان جي سزا اِها آهي تہ جنهن ماڻهو جي سامان ۾ ملي اهوئي ماڻهو ان جو بدلو آهي. اسان ظالمن کي اِهڙي ئي سزا ڏيندا آهيون. پوءِ اُن پنهنجي (نندي) ڀاءُ کان پهرين انهن جي ٿيلهن جي تلاشي وٺڻ شروع ڪئي. پوءِ ان جي ڀاءُ جي ٿيلهي مان ان کي ڪڍيائين. اهڙي طرح اسان يوسف جي لاءِ تدبير ڪئي. هو بادشاهہ جي قانون مطابق پنهنجي ڀاءُ کي وٺي نٿي سگهيو. سواءِ الله جي مرضي جي اسان جنهن جا درجا چاهيون بلند ڪري ڇڏيندا آهيون. ۽ هر علم واري جي مٿان هڪ وڏيڪ علم وارو آهي. ٦٩-٧٦

---

يوسف عليه السلام جا ڀائر موٽڻ لڳا تہ حضرت يوسف عليه السلام محبت جي ڪري پنهنجي پاڻي پيئڻ جو پيالو (جيڪو شايد چاندي جو هو) پنهنجي ڀاءُ بنيامين جي سامان ۾ رکي ڇڏيو. ان جي خبر نہ بنيامين کي هئي ۽ نہ دربار وارن کي. ان کان پوءِ خدا جي قدرت سان ائين ٿيو تہ اَن ماپڻ جو بادشاهي پيالو ڪٿي هيڏانهن هوڏانهن ٿي ويو. تلاش جي باوجود جڏهن اُهو نہ لڌو تہ ڪارندن کي حضرت يوسف عليه السلام جي ڀائرن تي شڪ ٿيو جيڪي هينئر ئي اُتان روانا ٿيا هئا. هڪ ڪارندي آواز ڏئي قافلي وارن کي سڏيو. پُڇا ڳاڇا ڪندي يوسف عليه السلام جي ڀائرن خود اُها سزا تجويز ڪئي جيڪا ابراهيم عليه السلام جي شريعت مطابق انهن ۾ رائج هئي. يعني جيڪو چور آهي اُهو هڪ سال تائين مالڪ وٽ غلام بڻجي رهي.

ان ڪانپوءِ ڪامورن تلاشي شروع ڪئي. هاڻي اَن ماپ ڪرڻ وارو پيالو تہ انهن وٽان نہ مليو. پر دربار جي هڪ ٻي خاص شيءِ (چانديءَ جو پيالو) بنيامين جي سامان مان نڪتو. تنهن ڪري بنيامين کي فيصلي جي مطابق حضرت يوسف عليه السلام جي حوالي ڪيو ويو. جيڪڏهن مصر جي بادشاهہ جي قانون مطابق فيصلو ڪيو وڃي ها تہ حضرت يوسف عليه السلام پنهنجي ڀاءُ کي حاصل نہ ڪري سگهي ها. ڇاڪاڻ تہ مصر جي بادشاهہ جي قانون ۾ چور جي سزا اِها هئي تہ ان کي مار ڏني وڃي ۽ چوري ٿيل شيءِ جي قيمت اُن کان وصول ڪئي وڃي. ان واقعي ۾ حضرت يوسف عليه السلام جي نيت شامل نہ هئي، اِهو خدائي تدبير سان ٿيو، ان ڪري خدا ان کي پنهنجي طرف منسوب فرمايو.

نوٽ: بنيامين جي سامان ۾ سقايہ رکيو ويو هو جنهن جو ضمير ”ها“ آهي. پر بادشاهہ جو ڪارندو صواع تلاش ڪري رهيو هو جنهن جو ضمير ”ہ“ آهي. هاڻي تلاش کان پوءِ ڪارندي جيڪا شيءِ لڌي ان جي لاءِ قرآن ۾ ضمير ها استعمال ٿيو آهي. (ثم استخرجها من وعاء اخيه) ضمير جو اِهو فرق ٻڌائي ٿو تہ تلاش ڪانپوءِ بنيامين جي سامان مان سقايہ نڪتو هو نہ وري صواع.

قَالُوْٓا اِنْ يَّسْرِقْ فَقَدْ سَرَقَ اَخٌ لَّهٗ مِنْ قَبْلُ ۚ فَاَسَرَّهَا يُوْسُفُ فِيْ نَفْسِهٖ وَ لَمْ يُبْدِهَا لَهُمْ ۚ قَالَ اَنْتُمْ شَرٌّ مَّكَانًا ۚ وَ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا تَصِفُوْنَ ﴿٧٧﴾ قَالُوْا يٰٓاَيُّهَا الْعَزِيْزُ اِنَّ لَهٗٓ اَبًا شَيْخًا كَبِيْرًا فَخُذْ اَحَدَنَا مَكَانَهٗ ۚ اِنَّا نَرٰىكَ مِنَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٧٨﴾ قَالَ مَعَاذَ اللّٰهِ اَنْ نَّاْخُذَ اِلَّا مَنْ وَّجَدْنَا مَتَاعَنَا عِنْدَهٗٓ ۙ اِنَّآ اِذًا لَّظٰلِمُوْنَ ﴿٧٩﴾ ع

انهن چيو جيڪڏهن هِي چوري ڪري تہ اُن کان اڳ ۾ هِن جو هڪ ڀاءُ بہ چوري ڪري چڪو آهي. پوءِ يوسف ان ڳالهہ کي پنهنجي دل ۾ رکيو ۽ ان کي مٿن ظاهر نہ ڪيو. ان پنهنجي جيءَ ۾ چيو توهان خود ئي بُرا ماڻهو آهيو

۽ جيڪو ڪجھ توهان چئي رهيا آهيو، الله ان کي خوب ڄاڻي ٿو. انهن چيو اي عزيز! هِن جو پيءُ ڏاڍو پوڙهو آهي تنهن ڪري توهان هِن جي جاءِ تي اسان مان ڪنهن کي رکي وٺو. اسان توکي احسان ڪندڙن مان ڏسون ٿا. ان چيو الله جي پناهہ جو اسان ان ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي کي پڪڙيون جنهن وٽ اسان پنهنجي شيءِ لڌي آهي. ان صورت ۾ اسان ضرور ظالم ٿينداسين. ٧٧-٧٩

---

مفسرين لکيو آهي تہ حضرت يوسفؑ جي ڪنهن ناني وٽ هڪ بت هو. حضرت يوسف پنهنجي ننڍپڻ ۾ ان کي لڪائي انهن وٽان ڪٽي آيا ۽ ان کي ٽوڙي ڇڏيو. ان واقعي کي بهانو بڻائي يوسف جي ڀائرن چيو تہ ”هِن جو وڏو ڀاءُ بہ ان کان پهرين چوري ڪري چڪو آهي“. هڪ واقعو جيڪو پاڻؑ جي توحيد جي غيرت کي ٻڌائي رهيو هو ان کي رڳو هڪ ظاهري مشابهت جي ڪري انهن چوري جو نالو ڏئي ڇڏيو.

يوسف جي ڀائرن جو حال اِهو هو تہ مصر جي تخت تي ويٺل يوسفؑ کي تہ هو عزيز (حضور، سرڪار) چئي رهيا هئا ۽ ان جي سامهون گهٽي عاجزي ڏيکاري رهيا هئا. پر ڪنعان جو يوسف جيڪو سندن نظر ۾ صرف هڪ ٻوناٽو ڇوڪرو هو، ان تي ان ئي وقت ناحق چوري جو الزام هڻي رهيا هئا.

حضرت يوسفؑ کي علم هو تہ سندس رکيل پيالي جي ڪري بنيامين هروڀرو چور ٿي رهيو آهي، پر وقتي مصلحت جي ڪري هو خاموش رهيا ۽ ان معاملي ۾ مداخلت نہ ڪئي جيڪو ڀائرن ۽ شاهي ڪارندن جي وچ ۾ هلي رهيو هو. هڪ ڀيري جڏهن پاڻؑ کي ڳالهائڻو پيو تہ انهن ائين نہ چيو تہ ”جنهن اسان جي چوري ڪئي آهي“ بلڪ اهو فرمايو تہ ”جنهن وٽان اسان کي پنهنجو مال مليو آهي.“

فَلَمَّا اسْتَيْـَٔسُوْا مِنْهُ خَلَصُوْا نَجِيًّا ؕ قَالَ كَبِيْرُهُمْ اَلَمْ تَعْلَمُوْۤا اَنَّ اَبَاكُمْ قَدْ اَخَذَ عَلَيْكُمْ مَّوْثِقًا مِّنَ اللّٰهِ وَ مِنْ قَبْلُ مَا فَرَّطْتُّمْ فِيْ يُوْسُفَ ۚ فَلَنْ اَبْرَحَ الْاَرْضَ حَتّٰى يَاْذَنَ لِيْۤ اَبِيْۤ اَوْ يَحْكُمَ اللّٰهُ لِيْ ۚ وَ هُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿٨٠﴾ اِرْجِعُوْۤا اِلٰۤى اَبِيْكُمْ فَقُوْلُوْا يٰۤاَبَانَاۤ اِنَّ ابْنَكَ سَرَقَ ۚ وَ مَا شَهِدْنَاۤ اِلَّا بِمَا عَلِمْنَا وَ مَا كُنَّا لِلْغَيْبِ حٰفِظِيْنَ ﴿٨١﴾ وَ سْـَٔلِ الْقَرْيَةَ الَّتِيْ كُنَّا فِيْهَا وَ الْعِيْرَ الَّتِيْۤ اَقْبَلْنَا فِيْهَا ؕ وَ اِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿٨٢﴾

جڏهن هو ان مان نا اميد ٿي ويا تہ الڳ ٿي پاڻ ۾ مشورو ڪرڻ لڳا. سندن وڏي چيو تہ ڇا توهان کي معلوم نہ آهي تہ توهان جي پيءُ الله جي نالي تي پڪو عهد ورتو ۽ ان کان اڳ ۾ يوسف جي معاملي ۾ جيڪا زيادتي توهان ڪري چڪا آهيو اُها بہ توهان کي معلوم آهي. تنهن ڪري آئون هِن زمين کي هرگز نہ ڇڏيندس جيستائين منهنجو پيءُ مون کي اجازت نہ ڏي يا الله منهنجي لاءِ ڪو فيصلو ڪري. ۽ هو سڀ کان بهتر فيصلو ڪرڻ وارو آهي. توهان پنهنجي پيءُ وٽ وڃو ۽ چئو تہ اي اسان جا بابا! تنهنجي پٽ چوري ڪئي ۽ اسان اِهائي ڳالهہ چئي رهيا آهيون جيڪا اسان کي خبر آهي ۽ اسان غيب جا نگهبان نہ آهيون ۽ تون انهي بستي جي ماڻهن کان پڇي وٺ جتي اسين هئاسون ۽ ان قافلي وارن کان پُڇي وٺ جنهن سان گڏ اسان آيا آهيون. ۽ اسان بلڪل سچا آهيون. ٨٠-٨٢

---

حضرت يوسف جي ماتيلي ڀائرن مان هڪ ڀاءُ ٻين کان مختلف هو. ان ئي ڀاءُ ابتدائي مرحلي ۾ مشورو ڏنو هو تہ يوسفؑ کي قتل نہ ڪريو، بلڪ ڪنهن کوهہ ۾ وجهي ڇڏيو تہ جيئن ڪو راهہ لنگهندڙ قافلو ان کي ڪڍي وٺي. اِهوئي ساڳيو حال هاڻي ان ڀاءُ جو مصر ۾ ٿيو. هو ٻين ڀائرن کان الڳ ٿي ويو، ان جي غيرت گوارا نہ ڪيو تہ جنهن پيءُ وٽ هو هڪڙي ڀاءُ کي وڃائڻ جو مجرم بڻجي چڪو آهي، ان پيءُ جي سامهون هاڻي ٻي ڀاءُ کي وڃائڻ جو مجرم بڻجي حاضر ٿئي.

قَالَ بَلۡ سَوَّلَتۡ لَكُمۡ اَنۡفُسُكُمۡ اَمۡرًا ؕ فَصَبۡرٌ جَمِيۡلٌ ؕ عَسَى اللّٰهُ اَنۡ يَّاۡتِيَنِىۡ بِهِمۡ جَمِيۡعًا ؕ اِنَّهٗ هُوَ الۡعَلِيۡمُ الۡحَكِيۡمُ ﴿۸۳﴾ وَتَوَلّٰى عَنۡهُمۡ وَقَالَ يٰۤاَسَفٰى عَلٰى يُوۡسُفَ وَابۡيَضَّتۡ عَيۡنٰهُ مِنَ الۡحُزۡنِ فَهُوَ كَظِيۡمٌ ﴿۸۴﴾ قَالُوۡا تَاللّٰهِ تَفۡتَؤُا تَذۡكُرُ يُوۡسُفَ حَتّٰى تَكُوۡنَ حَرَضًا اَوۡ تَكُوۡنَ مِنَ الۡهٰلِكِيۡنَ ﴿۸۵﴾ قَالَ اِنَّمَاۤ اَشۡكُوۡا بَثِّىۡ وَحُزۡنِىۡۤ اِلَى اللّٰهِ وَاَعۡلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۸۶﴾ يٰبَنِىَّ اذۡهَبُوۡا فَتَحَسَّسُوۡا مِنۡ يُّوۡسُفَ وَاَخِيۡهِ وَلَا تَاۡيۡـَٔسُوۡا مِنۡ رَّوۡحِ اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ لَا يَاۡيۡـَٔسُ مِنۡ رَّوۡحِ اللّٰهِ اِلَّا الۡقَوۡمُ الۡكٰفِرُوۡنَ ﴿۸۷﴾

پيءُ چيو بلڪ توهان پنهنجي دل مان هڪ ڳالهہ ٺاهي ورتي آهي، تنهن ڪري آئون صبر ڪندس. اُميد آهي تہ الله انهن سڀني کي مون وٽ آڻيندو. هو ڄاڻڻ وارو، حڪمت وارو آهي. ۽ هُن ڪانئڻ منهن موڙي ورتو ۽ چيائين هاءِ يوسف! ۽ غم ۾ سندس اکيون اڇيون ٿي ويون. هو اندر ئي اندر غم کي پي رهيو هو. انهن چيو الله جو قسم تون يوسف کي ساريندو رهندين ايستائين جو ڳري وڃين يا هلاڪ ٿي وڃين. هن چيو آئون پنهنجي پريشاني ۽ پنهنجي غم جي شڪايت صرف الله سان ڪريان ٿو. ۽ آئون الله طرفان اُهي ڳالهيون ڄاڻان ٿو جيڪي توهان نٿا ڄاڻو. اي منهنجا پٽڙؤ! وڃو يوسف ۽ ان جي ڀاءُ کي تلاش ڪريو ۽ الله جي رحمت کان نا اميد نہ ٿيو. الله جي رحمت کان صرف منڪر ئي نا اميد ٿيندا آهن. ٨٣-٨٧

---

”توهان ڳالهہ ٺاهي ورتي آهي“ چئي حضرت يعقوبؑ يوسفؑ جي ڀائرن جي دل جي کوٽ کي پڌرو ڪيو. اُهي پيءُ وٽان ويا هئا تہ مڪمل حفاظت جووعدو ڪري ان کي گڏ وٺي ويا هئا ۽ جڏهن بنيامين جي سامان مان پيالو نڪتو هو تہ ان جي طرفان ايترو دفاع بہ نہ ڪري سگهيا جو اهو چون ها تہ رڳو پيالو نڪرڻ سان اُهو چور ڪيئن ثابت ٿي سگهي ٿو. شايد ڪنهن ٻئي رکي ڇڏيو هجي يا غلطي سان اِهو ان جي سامان ۾ اچي ويو هجي. ان جي ابتڙ انهن ائين ڪيو جو اِهو چئي ان جي جرم کي مصر وارن جي نظر ۾ اڃا پختو ڪري ڇڏيو تہ ان جو ڀاءُ بہ ان کان پهرين چوري ڪري چڪو آهي.

حضرت يعقوبؑ جيتوڻيڪ ٻن پيارن پٽن کي وڃائڻ جي ڪري بيحد غمگين هو. پر ان سان گڏ هو خدا کان ان جي رحمت جي اميد بہ رکي ويٺو هو. ان جو اڃا بہ اِهو خيال هو تہ يوسف جو ابتدائي زماني جو خواب هڪ خدائي بشارت هئي ۽ اُهو ضرور پورو ٿيندو. ان ڪري ان پٽن کي چيو تہ وڃو يوسف کي تلاش ڪريو ۽ بنيامين جي رهائيءَ جي بہ ڪوشش ڪريو.

فَلَمَّا دَخَلُوْا عَلَيْهِ قَالُوْا يٰۤاَيُّهَا الْعَزِيْزُ مَسَّنَا وَ اَهْلَنَا الضُّرُّ وَ جِئْنَا بِبِضَاعَةٍ مُّزْجٰىةٍ فَاَوْفِ
لَنَا الْكَيْلَ وَ تَصَدَّقْ عَلَيْنَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَجْزِی الْمُتَصَدِّقِيْنَ ﴿۸۸﴾ قَالَ هَلْ عَلِمْتُمْ مَّا فَعَلْتُمْ
بِيُوْسُفَ وَ اَخِيْهِ اِذْ اَنْتُمْ جٰهِلُوْنَ ﴿۸۹﴾ قَالُوْۤا ءَاِنَّكَ لَاَنْتَ يُوْسُفُ ؕ قَالَ اَنَا يُوْسُفُ وَ هٰذَاۤ
اَخِیْ ؗ قَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا ؕ اِنَّهٗ مَنْ يَّتَّقِ وَ يَصْبِرْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۹۰﴾

پوءِ جڏهن اُهي (يوسف) وٽ پهتا، انهن چيو اي عزيز! اسان کي ۽ اسان جي گهر وارن کي ڏاڍي تڪليف پهتي آهي ۽ اسان ٿوري موڙي ڪٽي آيا آهيون، تون اسان کي پورو اَن ڏي ۽ اسان کي صدقو به ڏي. بيشڪ الله صدقو ڪرڻ وارن کي اُن جو بدلو ڏيندو آهي. اُن چيو ڇا توهان کي خبر آهي ته توهان يوسف ۽ اُن جي ڀاءُ سان ڇا ڪيو جڏهن توهان کي سمجهه نه هئي. انهن چيو ڇا سچ پچ تون ئي يوسف آهين. اُن چيو ها آئون يوسف آهيان ۽ هي منهنجو ڀاءُ آهي. الله اسان تي فضل فرمايو. جيڪو ماڻهو ڊڄندو آهي ۽ صبر ڪندو آهي ته الله نيڪ ڪم ڪرڻ وارن جو اجر ضايع نه ٿو ڪري. ۸۸-۹۰

---

”تقويٰ ۽ صبر ڪرڻ وارن جو اجر خدا ضايع نه ٿو ڪري“ اِها ڳالهه يوسف جي سڄي قصي جو خلاصو آهي. الله تعاليٰ کي اُن جو هڪ پڌرو مثال قائم ڪرڻو هو ته دنيا جي معاملن ۾ جيڪو ماڻهو الله کان ڊڄڻ وارو طريقو اختيار ڪري ۽ بي صبري واري طريقن کان بچي ته آخرڪار هو خدا جي مدد سان ضرور ڪامياب ٿيندو آهي. حضرت يوسف جي واقعي کي اُن ئي حقيقت جو هڪ مثال بڻايو ويو.

مصر ۾ ابتدائي سٺا ست سال ۽ اُن کان پوءِ خراب ست سال ٻئي خدا جي حڪم سان ٿيا. خدا چاهي ها ته سيني سالن کي سٺو بڻائي ڇڏي ها. اهڙي طرح حضرت يوسف جو کوهه ۾ وڌو وڃڻ ۽ پوءِ اُن مان نڪري مصر پهچڻ ٻئي خدا جي نگراني ۾ ٿيا. خدا چاهي ها ته پاڻ عليه السلام کي کوهه واري مرحلي مان گذارڻ کان سواءِ مصر جي اقتدار تائين پهچائي ڇڏي ها. پر جيڪڏهن اِهي سڀ غير معمولي حالتون پيش نه اچن ها ته اسباب جي هن دنيا ۾ هُو اُن ڳالهه جي مثال ڪيئن بڻجن ها ته خدا انهن ماڻهن جي مدد ڪندو آهي جيڪي خدا تي ڀروسو ڪندي تقويٰ ۽ صبر جي طريقي تي قائم رهن.

واقعا ٻن قسمن جا هوندا آهن. هڪ اُهو جنهن جي اندر شهرت جو مادو هجي ۽ ٻيو اُهو جنهن جي اندر شهرت جو مادو نه هجي. ٻئي واقعا نوعيت جي لحاظ کان بلڪل هڪ جهڙي درجي جا ٿي سگهن ٿا. پر هڪ واقعو مشهور ٿي ويندو ۽ ٻيو گمنام ٿي رهجي ويندو. حضرت يوسف عليه السلام سان خدا جي مدد جو جيڪو معاملو ٿيو، اِهڙو ٻين صالح ۽ محسنن سان به پيش ايندو آهي. پر حضرت يوسف عليه السلام جي واقعي جي خاص ڳالهه اِها آهي جو اُن ۾ شهرت جو مادو به پوري طرح موجود هو. اُن ڪري اُهو آساني سان ماڻهن جي نظر ۾ اچي ويو.

قَالُوْا تَاللّٰهِ لَقَدْ اٰثَرَكَ اللّٰهُ عَلَيْنَا وَ اِنْ كُنَّا لَخٰطِـِٕيْنَ ﴿۹۱﴾ قَالَ لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ ؕ
يَغْفِرُ اللّٰهُ لَكُمْ ؗ وَ هُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿۹۲﴾ اِذْهَبُوْا بِقَمِيْصِیْ هٰذَا فَاَلْقُوْهُ عَلٰى وَجْهِ اَبِیْ
يَاْتِ بَصِيْرًا ۚ وَ اْتُوْنِیْ بِاَهْلِكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿۹۳﴾ ع

پائرن چيو الله جو قسم، الله توکي اسان تي فضيلت ڏني آهي ۽ بيشڪ اسان غلطي تي هئاسون. يوسف چيو اڄ توهان تي ڪو الزام نہ آهي، الله توهان کي معاف ڪري ۽ هو سيني مهربانن کان وڌيڪ مهربان آهي. توهان منهنجو اِهو پهراڻ کڻي وڃو ۽ اُن کي منهنجي بابا جي منهن تي گهمايو، سندس نظر موٽي ايندي ۽ توهان پنهنجي گهر وارن سان گڏ مون وٽ اچي وڃو. ٩١-٩٣

---

جڏهن حقيقت کلي وئي تہ پائرن حضرت يوسف عليه السلام جي وڏائي کي تسليم ڪندي سرعام پنهنجي غلطي جو اقرار ڪري ورتو. ٻئي پاسي حضرت يوسف عليه السلام بہ اُن اعليٰ ظرف جو ثبوت ڏنو جيڪو هڪ سچي خدا پرست کي اهڙي موقعي تي ڏيڻ کپي. انهن پنهنجن پائرن کي ڪا ملامت نہ ڪئي. انهن ماضي جي تڪليف رسائيندڙ واقعن کي يڪدم وساري ڇڏيو ۽ پائرن سان ٻيهر پائرن جهڙو تعلق قائم ڪري ورتو.

ان واقعي ۾ انفرادي مدد سان گڏ اجتماعي مدد جو مثال بہ موجود آهي. ان جي ذريعي اهڙيون حالتون پيدا ٿيون جو بني اسرائيل فلسطين مان نڪري مصر پهچن ۽ اُتي عزت ۽ خوشحالي جو مقام حاصل ڪن. جيئن تہ حضرت يوسف عليه السلام جي زماني ۾ حضرت يعقوب جو خاندان مصر منتقل ٿي ويو ۽ تقريبًا پنج سؤ سالن تائين اُتي عزت سان رهيو. بائيبل جي بيان مطابق خاندان جا سيئي فرد جيڪي ان موقعي تي مصر ويا انهن جو تعداد ٦٧ هيو.

وَلَمَّا فَصَلَتِ الْعِيْرُ قَالَ اَبُوْهُمْ اِنِّيْ لَاَجِدُ رِيْحَ يُوْسُفَ لَوْلَآ اَنْ تُفَنِّدُوْنِ ﴿٩٤﴾ قَالُوْا تَاللّٰهِ
اِنَّكَ لَفِيْ ضَلٰلِكَ الْقَدِيْمِ ﴿٩٥﴾ فَلَمَّآ اَنْ جَآءَ الْبَشِيْرُ اَلْقٰىهُ عَلٰى وَجْهِهٖ فَارْتَدَّ بَصِيْرًا ۚ
قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ ۚ اِنِّيْٓ اَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٩٦﴾ قَالُوْا يٰٓاَبَانَا اسْتَغْفِرْ لَنَا
ذُنُوْبَنَآ اِنَّا كُنَّا خٰطِـِٕيْنَ ﴿٩٧﴾ قَالَ سَوْفَ اَسْتَغْفِرُ لَكُمْ رَبِّيْ ۭ اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿٩٨﴾

۽ جڏهن قافلو (مصر کان هليو تڏهن سندن پيءُ ڪنعان ۾) چيو تہ جيڪڏهن توهان مون کي پيريءَ ۾ ٽڙيل ڳالهيون ڪرڻ وارو نہ سمجهو تہ مون کي يوسف جي خوشبو اچي رهي آهي. ماڻهن چيو الله جو قسم تون تہ اڃا تائين پنهنجي پراڻي غلط خيال ۾ مبتلا آهين. پوءِ جڏهن خوشخبري ڏيڻ وارو آيو. هن پهراڻ يعقوب جي منهن تي گهمايو تہ سندس بينائي موٽي آئي. هُن چيو ڇا مون توهان کي نہ چيو هو تہ آئون الله جي طرفان اُهي ڳالهيون ڄاڻان ٿو جيڪي توهان نٿا ڄاڻو. يوسف جي پائرن چيو اي اسان جا بابا! اسان جي گناهن جي معافي لاءِ دعا گهُر، بيشڪ اسان خطاڪار هئاسون. يعقوب چيو آئون پنهنجي رب کان توهان لاءِ بخشش جي دعا ڪندس. بيشڪ اُهو بخشڻ وارو، رحم ڪرڻ وارو آهي. ٩٤-٩٨

---

حضرت يوسف عليه السلام پنهنجي پيءَ کان جدا ٿي ٢٠ سالن کان وڌيڪ مدت تائين پاڙيسري ملڪ مصر ۾ رهيا. پر حضرت يعقوب عليه السلام کي ان جو علم نہ ٿي سگهيو. البت آخري وقت ۾ پاڻ عليه السلام جو پهراڻ مصر کان هليو تہ پاڻ عليه السلام کي اُن جي پهچڻ کان پهرين ان جي خوشبو محسوس ٿيڻ لڳي. اُن مان معلوم ٿيو تہ پيغمبرن جو علم سندن ذاتي علم نہ هوندو آهي، بلڪ خدا جو عطيو هوندو آهي. جيڪڏهن ذاتي علم هجي ها تہ حضرت يعقوب عليه السلام اڳ ۾ ئي ڄاڻي وٺن ها تہ سندن پٽ مصر ۾ آهي، پر ائين نہ ٿيو. پاڻ عليه السلام کي حضرت يوسف جي باري ۾ صرف اُن وقت خبر پئي جڏهن الله

ڪيس اُن جي خبر ڏني.

حضرت يعقوبؑ سان سندس خاندان وارن جي جيڪا گفتگو هِن سورة ۾ مختلف جاين تي نقل ٿي آهي، اُن مان اندازو ٿيندو آهي ته خاندان وارن جي نظر ۾ حضرت يعقوب کي اُها عظمت حاصل نه هئي جيڪا هڪ پيغمبر جي لاءِ هئڻ گهرجي. اُهي ٺي ماڻهو جيڪي ماضي جي بزرگن جي پرستش ڪري رهيا هوندا آهن، اُهي زنده بزرگن جي عظمت مڃڻ جي لاءِ تيار نه ٿيندا آهن. اُن جو سبب اِهو آهي جو مرده بزرگن جي لاءِ هميشه مبالغي وارن قصن ۽ طلسماتي ڪهاڻين جو چار وچايو ويندو آهي. اُن ڪري ماڻهن جي ذهن ۾ "بزرگ" جي هڪ مصنوعي تصوير نهي ويندي آهي. جاڪاڻ ته زنده بزرگ اُن مصنوعي تصوير جي مطابق نه هوندو آهي، اُن ڪري هو ماڻهن کي بزرگ به نظر نه ٿو اچي.

فَلَمَّا دَخَلُوْا عَلٰى يُوْسُفَ اٰوٰۤى اِلَيْهِ اَبَوَيْهِ وَ قَالَ ادْخُلُوْا مِصْرَ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ اٰمِنِيْنَ ﴿٩٩﴾ وَ رَفَعَ اَبَوَيْهِ عَلَى الْعَرْشِ وَ خَرُّوْا لَهٗ سُجَّدًا ۚ وَ قَالَ يٰۤاَبَتِ هٰذَا تَاْوِيْلُ رُءْيَايَ مِنْ قَبْلُ ؗ قَدْ جَعَلَهَا رَبِّيْ حَقًّا ؕ وَ قَدْ اَحْسَنَ بِيْۤ اِذْ اَخْرَجَنِيْ مِنَ السِّجْنِ وَ جَآءَ بِكُمْ مِّنَ الْبَدْوِ مِنْۢ بَعْدِ اَنْ نَّزَغَ الشَّيْطٰنُ بَيْنِيْ وَ بَيْنَ اِخْوَتِيْ ؕ اِنَّ رَبِّيْ لَطِيْفٌ لِّمَا يَشَآءُ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ﴿١٠٠﴾

پوءِ جڏهن اُهي سڀ يوسف وٽ پهتا ته اُن پنهنجي والدين کي پاڻ وٽ ويهاريو. ۽ چيائين ته مصر ۾ ان شاء الله امن ۽ سڪون سان رهو ۽ اُن پنهنجي والدين کي تخت تي ويهاريو ۽ سڀ ان جي لاءِ سجدي ۾ جهڪي ويا. ۽ يوسف چيو اي بابا! هي آهي منهنجي خواب جو تعبير جيڪو مون اڳ ۾ ڏٺو هو. منهنجي رب ان کي سچو ڪيو ۽ ان مون تي احسان ڪيو ته ان مون کي قيد مان ڪڍيو ۽ توهان سڀني کي ٻهراڙي مان هِتي آندو، ان کان اڳ شيطان منهنجي ۽ منهنجي ڀائرن جي وچ ۾ فساد وجهي ڇڏيو هو. بيشڪ منهنجو رب جيڪو ڪجھ چاهي ٿو ان جي بهترين تدبير ڪندو آهي، هو ڄاڻڻ وارو حڪمت وارو آهي. ٩٩-١٠٠

---

هتي تخت مان مراد شاهي تخت نه آهي. بلڪ اُهو تخت آهي جنهن تي حضرت يوسف پنهنجي عُهدي جي ذميدارين کي ادا ڪرڻ جي لاءِ ويهندا هئا. سجدي مان مراد به عام معنيٰ ۾ سجدو نه آهي، بلڪ رڪوع جي انداز ۾ جهڪڻ آهي. ڪنهن وڏي جي تعظيم يا عزت ڏيڻ جي لاءِ اُن انداز ۾ جهڪڻ قديم زماني ۾ هڪ عام ڳالھ هئي.

"اِنَّ رَبِّيْ لَطِيْفٌ لِّمَا يَشَآءُ" جو مطلب اِهو آهي ته منهنجو رب جنهن ڪم کي ڪرڻ چاهي ٿو ته ان جي لاءِ هو نهايت ڳُجهيون راهون ڪڍي وٺندو آهي. خدا پنهنجي منصوبي جي تڪميل جي لاءِ اِهڙيون تدبيرون پيدا ڪري وٺندو آهي جن ڏانهن عام انسانن جو گمان به نه ٿو وڃي سگهي.

رَبِّ قَدْ اٰتَيْتَنِيْ مِنَ الْمُلْكِ وَ عَلَّمْتَنِيْ مِنْ تَاْوِيْلِ الْاَحَادِيْثِ ۚ فَاطِرَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ۫ اَنْتَ وَلِيّٖ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ ۚ تَوَفَّنِيْ مُسْلِمًا وَّ اَلْحِقْنِيْ بِالصّٰلِحِيْنَ ﴿١٠١﴾

اي منهنجا رب! تو مون کي حڪومت ۾ حصو ڏنو ۽ مون کي ڳالهين جي تعبير ڪرڻ سيکاري. اي آسمانن ۽ زمين جا پيدا ڪرڻ وارا، تون منهنجو ڪارساز آهين دنيا ۾ به ۽ آخرت ۾ به. مون کي فرمانبرداري جي حالت ۾ وفات ڏي ۽ مون کي نيڪ ٻانهن ۾ شامل فرماءِ- ١٠١

---

غير مؤمن هر شيءِ کي ماڻهن جي لحاظ کان ڏسندو آهي ۽ مؤمن هر شيءِ کي خدا جي لحاظ کان. حضرت يوسف عليه السلام کي اعليٰ حڪومتي عهدو مليو ته ان کي به انهن خدا جو عطيو قرار ڏنو. ڪين تاويل ۽ تعبير جو علم حاصل ٿيو ته انهن چيو ته هِي مون کي خدا سيکاريو آهي. ڪيس پنهنجن مصيبت ۾ وڌو ته ان کي به انهن اُن نظر سان ڏٺو ته اِهي به خدا جون لطيف تدبيرون هيون جن جي ذريعي هُن مون کي ترقي جو سفر طي ڪرايو.

خدا جي عظمت جي احساس ان ڪان ذاتي عظمت جي سيني احساسن کي ڪسي ورتو هو. دنياوي بلندي جي چوٽي تي پهچي به سندس زبان مان جيڪي لفظ نڪتا اُهي هي هئا: خدايا تون ئي سيني طاقتن جو مالڪ آهين. تون ئي منهنجا سڀ ڪم ناهڻ وارو آهين. تون دنيا ۽ آخرت ۾ منهنجي مدد فرما. مون کي انهن ماڻهن ۾ شامل فرماءِ جن کي دنيا ۾ تنهنجي پسند تي هلڻ جي توفيق ملندي آهي ۽ آخرت ۾ تنهنجو ابدي انعام حاصل ڪندا آهن.

ذٰلِكَ مِنۡ اَنۡۢبَآءِ الۡغَيۡبِ نُوۡحِيۡهِ اِلَيۡكَ ۚ وَ مَا كُنۡتَ لَدَيۡهِمۡ اِذۡ اَجۡمَعُوۡۤا اَمۡرَهُمۡ وَ هُمۡ
يَمۡكُرُوۡنَ ﴿١٠٢﴾ وَ مَاۤ اَكۡثَرُ النَّاسِ وَ لَوۡ حَرَصۡتَ بِمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿١٠٣﴾ وَ مَا تَسۡـَٔلُهُمۡ عَلَيۡهِ مِنۡ
اَجۡرٍ ؕ اِنۡ هُوَ اِلَّا ذِكۡرٌ لِّلۡعٰلَمِيۡنَ ﴿١٠٤﴾ ع ١١

هي غيب جي خبرن مان آهي جيڪو اسان توتي وحي ڪري رهيا آهيون ۽ تون ان وقت انهن وٽ موجود نه هئين جڏهن يوسف جي ڀائرن پنهنجي ڪم جو پڪو ارادو ڪيو ۽ اُهي تدبيرون ڪري رهيا هئا ۽ تون چاهي ڪيتروئي چاهين، اڪثر ماڻهو ايمان آڻڻ وارا نه آهن. ۽ تون انهن ڪان ان تي ڪو اجر نه ٿو گهرين. اِها ته صرف هڪ نصيحت آهي سيني جهان وارن جي لاءِ ١٠٢-١٠٤

---

حضرت يوسف عليه السلام جو جيڪو قصو رسول الله ﷺ جي زبان تي جاري ٿيو اِهو خود ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته قرآن رباني وحي آهي نه وري انساني ڪلام. اِهو واقعو رسول الله ﷺ ڪان تقريبًا اڍائي هزار سال اڳ ۾ پيش آيو هو. پاڻ ﷺ اُن واقعي کي نه پاڻ ڏٺو هو ۽ نه اُهو ڪنهن تاريخ ۾ لکيل هو جو پاڻ ﷺ اُن کي پڙهن يا ڪنهن ٻئي ڪان پڙهائي ٻڌن. اِهو واقعو صرف توريت جي صفحن ۾ هو ۽ پريس جي دور ڪان اڳ ۾ توريت هڪ اهڙو ڪتاب هو جنهن جي واقفيت صرف يهوديت جي مرڪزن جي ڪجهه يهودي عالمن کي هوندي هئي، نه وري ڪنهن ٻئي کي.

وڌيڪ اِهو ته قرآن ۾ ان واقعي کي جهڙي طرح بيان ڪيو ويو آهي، بنيادي طور تي توريت جي مطابق هئڻ جي باوجود تفصيل ۾ اُهو ان ڪان ڪافي مختلف آهي. اِهو اختلاف خود قرآن جي وحي الٰهي هئڻ جو ثبوت آهي. ڇاڪاڻ ته جتي جتي ٻنهي ۾ اختلاف آهي، اُتي قرآن جو بيان واضح طور تي عقل ۽ فطرت جي مطابق نظر ايندو آهي. قرآن جو بيان پڙهي واقعي ئي اِهو سمجهه ۾ ايندو آهي ته حضرت

يعقوب عليه السلام ۽ حضرت يوسف عليه السلام جي پيغمبرانِي سيرت جي مطابق آهي، جڏهن ته توريت جا بيان پيغمبرانِي سيرت جي مطابق نه آهن. اهڙي طرح واقعي جا ڪيترائي بيحد قيمتي حصا (مثلاً قيد خاني ۾ حضرت يوسف عليه السلام جي تقرير آيت ٤٠-٣٧) جيڪي قرآن ۾ ٻڌايا ويا آهن، بائيبل يا تالمود ۾ ان جو ڪو به ذڪر نه آهي. ايستائين جو ڪجهه تاريخي غلطيون جيڪي بائيبل ۾ موجود آهن، انهن کي قرآن نه ورجايو آهي. مثال طور بائيبل ۾ حضرت يوسف عليه السلام جي زماني ۾ بادشاهه کي فرعون چيو ويو آهي. حالانڪ فرعون جو خاندان حضرت يوسف عليه السلام کان پنج سؤ سالن کانپوءِ مصر ۾ حڪمران ٿيو. حضرت يوسف عليه السلام جي زماني ۾ مصر ۾ هڪ عرب خاندان حڪومت ڪري رهيو هو، جنهن کي ڏنار بادشاهه (Hyksos Kings) چيو ويندو آهي (ڏسو بائيبل، ڪتاب پيدائش).

حق کي نه مڃڻ جو سبب جيڪڏهن دليل هجي ته دليل سامهون اچڻ کان پوءِ ماڻهو فورًا ان کي مڃي وٺندو. پر اڪثر حالتن ۾ حق جي انڪار جو سبب ضد ۽ سرڪشي هوندو آهي. اِهڙا ماڻهو حق کي ان ڪري نه ٿا مڃن جو هو اُن کي مڃڻ نه ٿا چاهين. حق کي مڃڻ اڪثر حالتن ۾ پاڻ کي گهٽ ڪرڻ جي هم معنيٰ هوندو آهي ۽ پاڻ کي ٻئي جي نسبت ۾ گهٽ ڪرڻ ماڻهوءَ جي لاءِ سيني کان وڌيڪ مشڪل ڪم آهي. اِهوئي سبب آهي جو ان قسم جا ماڻهو هر قسم جي دليلن ۽ واقعن جي سامهون اچڻ کانپوءِ به پنهنجي طريقي کي نه ٿا ڇڏين. هو اِهو چاهين ٿا ته حق نئندو ٿي وڃي، پر هو پنهنجي پاڻ کي حق جي سامهون نئندو ڪرڻ تي راضي نه ٿا ٿين. هو وساري ٿا ڇڏين ته جيڪو دنيا ۾ خود کي نئندو سمجهي، اُهوئي آخرت ۾ وڏو ڪيو ويندو ۽ جيڪو ماڻهو دنيا ۾ پاڻ کي حق جي سامهون نئندو نه ڪري، اُهو ئي اُهو ماڻهو آهي جيڪو آئنده اچڻ واري دنيا ۾ هميشه جي لاءِ نئندو ٿي رهجي ويندو.

وَ كَاَيِّنْ مِّنْ اٰيَةٍ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ يَمُرُّوْنَ عَلَيْهَا وَ هُمْ عَنْهَا مُعْرِضُوْنَ﴿١٠٥﴾ وَ مَا
يُؤْمِنُ اَكْثَرُهُمْ بِاللّٰهِ اِلَّا وَ هُمْ مُّشْرِكُوْنَ﴿١٠٦﴾ اَفَاَمِنُوْۤا اَنْ تَاْتِيَهُمْ غَاشِيَةٌ مِّنْ عَذَابِ
اللّٰهِ اَوْ تَاْتِيَهُمُ السَّاعَةُ بَغْتَةً وَّ هُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ﴿١٠٧﴾ قُلْ هٰذِهٖ سَبِيْلِيْۤ اَدْعُوْۤا اِلَى اللّٰهِ قف
عَلٰى بَصِيْرَةٍ اَنَا وَ مَنِ اتَّبَعَنِيْ ؕ وَ سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَ مَاۤ اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ﴿١٠٨﴾

وقف النبي صلى الله عليه وآله وسلم

۽ آسمانن ۽ زمين ۾ ڪيتريون ئي نشانيون آهن جن وٽان سندن لنگهڻ ٿيندو آهي ۽ هو انهن تي ڌيان نه ٿا ڏين. ۽ اڪثر ماڻهو جيڪي خدا کي مڃيندا آهن، هو ان سان ٻين کي شريڪ به ڪندا آهن. ڇا اِهي ماڻهو اُن ڳالهه مان مطمئن آهن ته انهن تي عذاب اِلٰهي جي ڪا آفت اچي ڪڙڪي يا اوچتو مٿن قيامت اچي وڃي ۽ اُهي ان کان بي خبر هجن. چؤ ته هِي منهنجو رستو آهي، آئون الله ڏانهن سڏيان ٿو بصيرت سان. آئون به ۽ اُهي ماڻهو به جن منهنجي پيروي ڪئي ۽ الله پاڪ آهي ۽ آئون مشرڪن مان نه آهيان. ١٠٥-١٠٨

---

حق جي ظاهر ٿيڻ کانپوءِ جيڪي ماڻهو ان کي نه مڃن، هو پنهنجي انڪار کي هميشه اُن ڍنگ ۾ پيش ڪندا آهن ته جيڪو دليل گهربل هو، اُهو دليل حق طرفان سندن سامهون نه آيو. جيڪڏهن اهڙو دليل هجي ها ته ان کي ضرور مڃي وٺن ها. جڏهن ته انهن جي انڪار جو سبب انهن کان ٻاهر آهي نه انهن جي اندر. پر حقيقت ان جي ابتڙ آهي. حق ايترو واضح آهي جو جڏهن ظاهر ٿيندو آهي ته زمين ۽ آسمان

جون سڀ نشانيون اُن جي تصديق ڪنديون آهن. حق سچي ڪائنات ۾ سيني ڪان وڏيڪ ثابت ٿيل شيءِ هوندو آهي. پر حق کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ اصل ضرورت ڏسڻ واري اک ۽ عبرت وٺڻ واري دماغ جي هوندي آهي ۽ اِهائي شيءِ منڪرن وٽ موجود نہ هوندي آهي.

حق جي مقابلي ۾ ماڻهو جڏهن سرڪشي ڏيکاري ٿو تہ اڪثر حالتن ۾ ان جو سبب ”شرڪ“ هوندو آهي. اڪثر ماڻهن جو حال اِهو آهي تہ خدا کي مڃيندي انهن ڪجھ پيون زندھ يا مرده هستيون فرض ڪري ورتيون آهن جن تي هو اعتماد ڪندا آهن جن کي هو وڏائي جو مقام ڏيندا آهن. اهڙي طرح هر ڪنهن خدا ڪانسواءِ ڪجھ ”وڏا“ بڻائي رکيا آهن. هو انهن جي پروسي تي جي رهيا آهن. حالانڪ خدا وٽ سڀ ننڍا آهن. اُتي ڪنهن کي جيڪا شيءِ بچائيندي اُهو ان جو ذاتي عمل آهي، نہ وري فرض ڪيل وڏن جي وڏائي.

پيغمبر جو ڪم هڪ الله ڏانهن سڏڻ آهي. اِهوئي اُن جو مشن آهي. ان مشن کي هُن سوچي سمجهي اختيار ڪيو آهي نہ وري تقليد طور تي. جڻ پيغمبر جي دعوت اُها دعوت آهي جيڪا انسان کي هڪ خدا سان جوڙڻ جي دعوت هجي ۽ جنهن جي صداقت داعي تي ايتري پڌري ٿي چڪي هجي جو هو ان جي لاءِ بصيرت (دانائي) ۽ معرفت بڻجي وڃي. اهڙي طرح پيغمبر جي پيروي ڪرڻ وارا اُهي ماڻهو آهن جيڪي حق کي بصيرت جي سطح تي حاصل ڪن ۽ توحيد جي سطح تي ان جو اعلان ڪن.

ماڻهو پنهنجي وقتي اطمينان کي مستقل اطمينان سمجهي وٺندو آهي. حالانڪ ڪنهن وٽ ان ڳالھ جي ضمانت نہ آهي تہ سندس عمر جي مهلت ڪيستائين آهي، ڪوبہ نہ ٿو ڄاڻي تہ ڪڏهن موت اچي سندس سيني گمانن کي باطل ڪري ڇڏيندي. ڪڏهن قيامت جو زلزلو سندس ٺهيل ٺڪيل دنيا کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيندو. ماڻهو خود کي يقيني انجام جي دنيا ۾ سمجهندو آهي. حالانڪ هو هر گهڙي هڪ غير يقيني انجام جي ڪناري بيٺل هوندو آهي.

وَ مَآ اَرۡسَلۡنَا مِنۡ قَبۡلِكَ اِلَّا رِجَالًا نُّوۡحِیۡۤ اِلَیۡهِمۡ مِّنۡ اَهۡلِ الۡقُرٰی ؕ اَفَلَمۡ یَسِیۡرُوۡا فِی الۡاَرۡضِ فَیَنۡظُرُوۡا کَیۡفَ کَانَ عَاقِبَةُ الَّذِیۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ ؕ وَ لَدَارُ الۡاٰخِرَةِ خَیۡرٌ لِّلَّذِیۡنَ اتَّقَوۡا ؕ اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ ﴿۱۰۹﴾ حَتّٰۤی اِذَا اسۡتَیۡـَٔسَ الرُّسُلُ وَ ظَنُّوۡۤا اَنَّهُمۡ قَدۡ کُذِبُوۡا جَآءَهُمۡ نَصۡرُنَا ۙ فَنُجِّیَ مَنۡ نَّشَآءُ ؕ وَ لَا یُرَدُّ بَاۡسُنَا عَنِ الۡقَوۡمِ الۡمُجۡرِمِیۡنَ ﴿۱۱۰﴾

۽ اسان تو کان اڳ ۾ مختلف بستين وارن ۾ جيترا رسول موڪليا سڀ انسان ئي هئا. اسان انهن ڏانهن وحي ڪئي سون. ڇا اِهي ماڻهو زمين ۾ گهميا ڦريا نہ آهن جو ڏسن تہ انهن ماڻهن جو انجام ڇا ٿيو جيڪي انهن کان اڳ هئا ۽ آخرت جو گهر انهن ماڻهن جي لاءِ بهتر آهي جيڪي ڊڄن ٿا، ڇا توهان سمجهو نہ ٿا. ايستائين جڏهن پيغمبر مايوس ٿي ويا ۽ (سندن قوم وارا) هو خيال ڪرڻ لڳا تہ انهن سان ڪوڙ ڳالهايو ويو هو تہ انهن کي اسان جي مدد پهتي. پوءِ جنهن کي اسان چاهيو نجات ملي ۽ مجرم ماڻهن تان اسان جو عذاب ٽاري نہ ٿو سگهجي. ١٠٩-١١٠

---

تاريخ ٻڌائي ٿي تہ جيڪي ماڻهو رسالت ۽ پيغمبري کي مڃيندا هئا، اِهي بہ ان وقت اُن جا منڪر ٿي ويا، جڏهن تہ خود سندن قوم منجهان هڪ شخص پيغمبر ٿي ڪري انهن جي سامهون بيهي رهيو. ان

جي وجھ اِهائي هئي تہ ماضي جو پيغمبر تاريخي طور تي ثابت ٿيل پيغمبر بڻجي چڪو هوندو آهي، جڏهن تہ حال جو پيغمبر هڪ اختلافي شخصيت هوندو آهي. تاريخي پيغمبر کي مڃڻ هميشہ انسان جي لاءِ آسان ڪم رهيو آهي ۽ اختلافي پيغمبر کي مڃڻ هميشہ ان جي لاءِ مشڪل ڪم.

عاد ۽ ثمود ۽ مدين ۽ قوم لوط وغيره جون تباھ ٿيل بستيون قريش جي آس پاس جي علائقن ۾ موجود هيون. هو پنهنجن سفرن ۾ انهن کي ڏسندا هئا. اِهي آثار ٻڌائي رهيا هئا تہ پيغمبر کي اختلافي دور ۾ نہ سڃاڻڻ جي ڪري ئي انهن قومن تي خدا جو عذاب آيو ۽ اِهي هلاڪ ڪيون ويون. ان جي باوجود قريش انهن مان سبق نہ ورتو. ان جي وجھ انسان جي اِها ڪمزوري آهي تہ هو هڪ غلط ڪم ڪندو آهي، پر ڪجھ هٿ ٺوڪيل دليلن ۽ خيالن جي ڪري خود کي غلطي ڪرڻ وارن جي لسٽ مان الڳ ڪري وٺندو آهي.

سورة يوسف جي آيت ١١٠ جي تشريح سورة بقره جي آيت ٢١٤ مان ٿي رهي آهي، جنهن ۾ ارشاد ٿيو آهي، ”ڇا توهان خيال ڪريو ٿا تہ توهان جنت ۾ داخل ڪيا ويندو، حالانڪ توهان تي اڃا اُهي حالتون نہ گذريون آهن جيڪي توهان کان اڳ وارن تي گذريون هيون. انهن کي سختي ۽ تڪليف پهتي ۽ ايستائين لوڏيا ويا جو رسول ۽ جن ايمان آندو هو، سي چئي وينا تہ آخر الله جي مدد ڪڏهن ايندي. ڄاڻي وٺو تہ خدا جي مدد قريب آهي“

خدا هميشہ داعي جي مدد ڪندو آهي. پر اِها مدد مدعو جي خلاف داعي جي حق ۾ خدا جو فيصلو هوندو آهي، ان ڪري اِها مدد هميشہ ان وقت ايندي آهي جو جڏهن دعوتي جدوجهد پنهنجي تڪميل جي آخري مرحلي ۾ پهچي وڃي، ڇاهي ان تاخير جي ڪري دعوت ڏيڻ وارن تي مايوسي جو احساس طاري ٿيڻ لڳي. ”۽ آخرت جو گهر متقين جي لاءِ وڌيڪ بهتر آهي“. ان مان معلوم ٿيو تہ دنيا ۾ ايمان وارن سان جيڪا مدد ڪئي ويندي آهي تہ اُها آخرت ۾ انهن سان بهتر سلوڪ ٿيڻ جي علامت هوندي آهي. دنيا ۾ خدا حق جي داعين جي اهڙي طرح مدد ڪندو آهي جو سندن ڳالھ سيني ٻين ڳالهين کان برتر ۽ اعليٰ ثابت ٿيندي آهي. هو پنهنجن دشمنن جي سيني سازشن ۽ مخالفتن جي باوجود پنهنجو مشن پورو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندا آهن. اِها ئي عزت ۽ سربلندي انهن کي آخرت ۾ وڌيڪ ڪامل ۽ معياري صورت ۾ حاصل ٿيندي.

لَقَدۡ كَانَ فِيۡ قَصَصِهِمۡ عِبۡرَةٌ لِّاُولِي الۡاَلۡبَابِ‌ؕ مَا كَانَ حَدِيۡثًا يُّفۡتَرٰى وَ لٰكِنۡ تَصۡدِيۡقَ الَّذِيۡ بَيۡنَ يَدَيۡهِ وَتَفۡصِيۡلَ كُلِّ شَيۡءٍ وَّ هُدًى وَّ رَحۡمَةً لِّقَوۡمٍ يُّؤۡمِنُوۡنَ ﴿۱۱۱﴾

انهن جي قصن ۾ سمجھ وارن لاءِ وڏي عبرت آهي. هي (قرآن) ڪا گهڙيل ڳالھ نہ آهي، بلڪ تصديق ڪندڙ آهي اُن شيءِ جي جيڪا اُن کان اڳ ۾ موجود آهي ۽ تفصيل آهي هر شيءِ جي. ۽ هدايت ۽ رحمت آهي ايمان وارن جي لاءِ. ١١١

---

پوئين پيغمبرن ۽ سندن قومن جي ڪهاڻي عبرت جي لحاظ کان سيني انسانن جي ڪهاڻي آهي. جيڪڏهن ماڻهو عقل کان ڪم وٺي تہ هو ماضي جي واقعي ۾ حال جي نصيحت ڳولي لهندو. ٻين جي انجام کي ڏسي هو پنهنجي حال کي درست ڪري وٺندو.

قرآن ڪنهن انسان جو گهڙيل ڪتاب نہ آهي، اُهو خدا طرفان نازل ٿيل ڪتاب آهي. قرآن بلڪل اُن اڳڪٿي جي مطابق آيو آهي جيڪا پوين آسماني ڪتابن ۾ ڪيل هئي. اُن ۾ هدايت متعلق هر ضروري شيءِ جو بيان موجود آهي. هو پنهنجي آغاز جي لحاظ کان انسانن جي لاءِ رهنمائي آهي ۽ پنهنجي انجام جي لحاظ کان سندن لاءِ رحمت.

ايَاتها ۴۳ (۱۳) سُوۡرَةُ الرَّعۡدِ مَدَنِيَّةٌ (۹۶) رکوعاتها ۶

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الٓمّٓرٰ ۚ تِلۡكَ اٰيٰتُ الۡكِتٰبِ ؕ وَ الَّذِىۡۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ مِنۡ رَّبِّكَ الۡحَـقُّ وَ لٰـكِنَّ اَكۡثَرَ النَّاسِ
لَا يُؤۡمِنُوۡنَ ۝۱ اَللّٰهُ الَّذِىۡ رَفَعَ السَّمٰوٰتِ بِغَيۡرِ عَمَدٍ تَرَوۡنَهَا ثُمَّ اسۡتَوٰى عَلَى الۡعَرۡشِ وَ
سَخَّرَ الشَّمۡسَ وَ الۡقَمَرَ ؕ كُلٌّ يَّجۡرِىۡ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ يُدَبِّرُ الۡاَمۡرَ يُفَصِّلُ الۡاٰيٰتِ
لَعَلَّكُمۡ بِلِقَآءِ رَبِّكُمۡ تُوۡقِنُوۡنَ ۝۲

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان ۽ نهايت رحم وارو آهي.

الف-لام-م-را، هي ڪتاب جون آيتون آهن. ۽ جيڪو ڪجھ توتي تنهنجي رب طرفان نازل ٿيو آهي اُهو حق آهي. پر اڪثر ماڻهو نہ ٿا مڃين. الله ئي آهي جنهن آسمان کي بلند ڪيو بغير اهڙن ٿنڀن جي جيڪي توهان کي نظر اچن. پوءِ هو پنهنجي عرش تي قائم ٿيو ۽ ان سج ۽ چنڊ کي هڪ قانون جي تابع ڪيو، هر هڪ مقرر وقت تي هلندو آهي. الله ئي هر ڪم جو انتظام ڪندو آهي. هُو نشانين کي کولي کولي بيان ڪندو آهي تہ جيئن توهان پنهنجي رب سان ملڻ جو يقين ڪريو. ۱-۲

---

قرآن هڪ خدا کي مڃڻ جي دعوت ڏيندو آهي. جيڪي ماڻهو خدا کي نہ ٿا مڃين، انهن جو سيني ڪان وڏو دليل اِهو هوندو آهي تہ خدا جيڪڏهن آهي تہ اسان کي ڏسڻ ۾ چو نہ ٿو اچي. پر اسان جي ڪائنات ٻڌائي ٿي تہ ڪنهن شيءِ جو ڏسڻ ۾ نہ اچڻ ان ڳالهہ جو ثبوت نہ آهي تہ اُن جو ڪو وجود بہ نہ آهي. ان جو هڪ مثال ڪشش جي قوت آهي. خلا ۾ بيشمار الڳ الڳ ستارا ۽ سيّاره آهن. انساني علم ٻڌائي ٿو تہ انهن گرهن جي وچ ۾ هڪ اڻ ڏٺل ڪشش جي قوت آهي جيڪا وسيع خلا ۾ انهن کي سنڀالي ٿي، پوءِ انسان جڏهن نظر نہ اچڻ جي ڪري ڪشش جي قوت جي موجودگي جو اقرار ڪري رهيو آهي تہ نظر نہ اچڻ جي ڪري خدا جي وجود جو انڪار ڪرڻ ۾ هو ڪيئن حق بجانب ٿي سگهي ٿو.

اِهوئي معاملو وحي ۽ رسالت جو آهي. ڪائنات جو طالب علم جڏهن ڪائنات جو مطالعو ڪندو آهي تہ هو ڏسي ٿو تہ هتي هر شيءِ هڪ نظام جي پابند آهي. ائين معلوم ٿيندو آهي تہ سڀئي شيون ڪنهن خاص حڪم ۾ جڪڙيل آهن. اِهو ”حڪم“ خود انهن شين جي اندر موجود نہ آهي، يقيناً اِهو ٻاهران اچي ٿو، جڻ تہ سڄي دنيا پنهنجي عمل لاءِ ”ٻاهران“ هدايتون وٺي رهي آهي. انسان کان علاوه باقي دنيا ۾ اُن خارجي هدايت جو نالو فطرت جو قانون آهي ۽ انسان جي دنيا ۾ ان جو نالو وحي ۽

الهام آهي. وحي اصل ۾ اُن خارجي رهنمائي جو انساني دنيا تائين پهچڻ آهي جنهن کي باقي دنيا ۾ فطرت جو قانون چيو وڃي ٿو.

ڪائنات ڄڻ تہ هڪ مشين آهي ۽ قرآن ان جي گائيڊ بوڪ (هدايت جو ڪتاب). پهرين شيءِ خدا جي امر جي تدبير جو مثال آهي ۽ ٻي شيءِ خدا جي آيتن جي تفصيل جو مثال آهي. انهن ٻنهي ۾ ڪامل مطابقت آهي. جيڪو ڪجهہ ڪائنات ۾ عملي طور تي نظر ايندو آهي، اُهو قرآن ۾ لفظي طور موجود آهي. اِها مطابقت هڪ ئي وقت بہ ڳالهيون ثابت ڪري ٿي. هڪ اِها تہ هن ڪائنات جو هڪ خالق آهي ۽ ٻيو اِهو تہ قرآن اُن ئي خالق جو ڪتاب آهي نہ وري محدود انساني دماغ جي تخليق.

وَ هُوَ الَّذِیۡ مَدَّ الۡاَرۡضَ وَ جَعَلَ فِیۡهَا رَوَاسِیَ وَ اَنۡهٰرًا ؕ وَ مِنۡ كُلِّ الثَّمَرٰتِ جَعَلَ فِیۡهَا زَوۡجَیۡنِ اثۡنَیۡنِ یُغۡشِی الَّیۡلَ النَّهَارَ ؕ اِنَّ فِیۡ ذٰلِكَ لَاٰیٰتٍ لِّقَوۡمٍ یَّتَفَكَّرُوۡنَ ﴿۳﴾

۽ اُهو ئي آهي جنهن زمين کي پکيڙيو. ۽ اُن ۾ جبل ۽ نديون بڻايائين ۽ هر قسم جي ميون جا جوڙا اُن ۾ پيدا ڪيا. اُهو رات سان ڏينهن کي ڍڪي ٿو. بيشڪ انهن شين ۾ نشانيون آهن، انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي غور ڪن. ٣

---

آسمان جي نشانين ڪانپوءِ جڏهن زمين جي حالتن تي غور ڪيو وڃي تہ اُهي انسان جي رهائش جي لاءِ انتهائي بامعنيٰ طور تي سازگار نظر اچن ٿيون.

زمين هڪ قدرتي فرش وانگر ماڻهوءَ جي پيرن هيٺ وڇايل آهي. ان ۾ هڪ پاسي انسان جي ضرورت جي لاءِ سمنڊ جون اونهايون آهن تہ ٻئي پاسي جبلن جون بلنديون بہ آهن تہ جيئن ٻئي ملي زمين جو توازن برقرار رکن. وڻ هڪٻئي کان الڳ الڳ بہ تي سگهن ٿا، پر انهن ۾ جوڙا آهن جن جي وچ ۾ ملڻ يا لڳ (Pollination) جي عمل سان اُن ۾ ميوا پيدا ٿيندا آهن. زمين سج جي چؤڌاري پنهنجي سالياڻي گردش سان گڏ پنهنجي محور تي بہ مسلسل گردش ڪندي آهي، جنهن جو چڪر چويهہ ڪلاڪن ۾ پورو ٿيندو آهي ۽ جنهن سان رات ۽ ڏينهن پيدا ٿيندا آهن.

هِن قسم جي نشانين تي جيڪو ماڻهو بہ سنجيدگيءَ سان غور ڪندو، اُهو اِهو مڃڻ تي مجبور ٿي ويندو تہ هِي دنيا هڪ با اختيار مالڪ جي تحت آهي ۽ اُن پنهنجي ارادي سان اُن جي هڪ بامقصد منصوبہ بندي ڪري رکي آهي. باشعور منصوبہ بندي جي بغير زمين تي اهو بامعنيٰ نظام هرگز ممڪن نہ هجي ها.

وَ فِی الۡاَرۡضِ قِطَعٌ مُّتَجٰوِرٰتٌ وَّ جَنّٰتٌ مِّنۡ اَعۡنَابٍ وَّ زَرۡعٌ وَّ نَخِیۡلٌ صِنۡوَانٌ وَّ غَیۡرُ صِنۡوَانٍ یُّسۡقٰی بِمَآءٍ وَّاحِدٍ ۟ وَ نُفَضِّلُ بَعۡضَهَا عَلٰی بَعۡضٍ فِی الۡاُكُلِ ؕ اِنَّ فِیۡ ذٰلِكَ لَاٰیٰتٍ لِّقَوۡمٍ یَّعۡقِلُوۡنَ ﴿۴﴾

۽ زمين ۾ لڳو لڳ مختلف ٽڪرا آهن ۽ انگورن جا باغ آهن ۽ پوکون آهن ۽ ڪجيون آهن، انهن ۾ ڪجهہ هڪ ٽڙ وارا آهن ۽ ڪجهہ ٻن ٽڙن وارا. سيني کي هڪ ئي پاڻي ملي ٿو. ۽ اسان هڪ کي ٻئي تي پيداوار ۾ برتري ڏيندا آهيون. بيشڪ ان ۾ نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي غور ڪن- ٤

---

حضرت عبدالله بن عباسؓ فرمايو تہ ڪا سٺي زمين آهي ۽ ڪا ڪلراٺي زمين. هڪڙي اُپائي ٿي ۽ انهي سان لڳولڳ ٻي نہ ٿي اُپائي. (ارض طيبة وارض سبخة تُنبت هذه وهذه الیٰ جنبها لا تنبت) مجاهد چيو اهوئي معاملو بني آدم جو آهي. انهن ۾ سٺا بہ آهن ۽ بُرا بہ. حالانڪ سڀني جو اصل هڪ آهي (ڪمثل بني آدم صالحهم و خبيثهم وابوهم واحد). حسن بصري چيو اِهو هڪ مثال آهي جيڪو الله بني آدم جي دلين جي لاءِ ڏنو آهي. (هذا مثل ضرب الله لقلوب بني آدم)

زمين ۾ هڪ عجيب نشاني اِها آهي تہ هڪ ئي مٽي آهي. هڪ ئي پاڻي سان ان کي سيراب ڪيو وڃي ٿو. پر هڪ جاءِ مان هڪ وڻ نڪرندو آهي ۽ ان ئي جي ويجهو ٻي جاءِ مان ٻيو وڻ. هڪ ۾ مٺو ميوو آهي ۽ ٻئي ۾ ڪٺو ميوو. ڪو وڏيڪ پيداوار ڏيندو آهي ۽ ڪو گهٽ پيداوار.

اِهو زمين جو مثال انسانن ۾ فرق جو مثال آهي. ان مان معلوم ٿيندو آهي تہ جيتوڻيڪ سڀئي انسان بظاهر يڪسان آهن ۽ انهن سڀني وٽ هڪ ئي هدايت ايندي آهي. پر هدايت مان فائدو وٺڻ جي معاملي ۾ هڪ انسان ۽ ٻئي انسان ۾ تمام گهڻو فرق ٿي ويندو آهي. ڪو ان مان رهنمائي حاصل ڪندو آهي ۽ ڪو ان جو منڪر بڻجي ويندو آهي. ڪو ٿوري هدايت وٺندو آهي ۽ ڪنهن جي زندگي هدايت سان مالا مال ٿي ويندي آهي. ڄڻ تہ جهڙي زمين اُهڙي پيداوار جو اصول هِتي بہ آهي ۽ هُتي بہ.

وَ اِنۡ تَعۡجَبۡ فَعَجَبٌ قَوۡلُهُمۡ ءَاِذَا كُنَّا تُرٰبًا ءَاِنَّا لَفِیۡ خَلۡقٍ جَدِیۡدٍ ؕ۬ اُولٰٓئِكَ الَّذِیۡنَ كَفَرُوۡا بِرَبِّهِمۡ ۚ وَ اُولٰٓئِكَ الۡاَغۡلٰلُ فِیۡۤ اَعۡنَاقِهِمۡ ۚ وَ اُولٰٓئِكَ اَصۡحٰبُ النَّارِ ۚ هُمۡ فِیۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿۵﴾

۽ جيڪڏهن تون تعجب ڪرين تہ تعجب جي قابل انهن جو اِهو قول آهي تہ جڏهن اسان مٽي ٿي ويندا سون تہ ڇا اسان وري نئين سِر پيدا ڪيا ويندا سون. هي اُهي ماڻهو آهن جن پنهنجي رب جو انڪار ڪيو ۽ هِي اُهي ماڻهو آهن جن جي ڳچين ۾ ڳٽ پيل آهن. اُهي باهہ وارا ماڻهو آهن، هو اُن ۾ هميشہ رهندا- ۵

---

ٻي زندگي جو انڪار ڪرڻ وارن جو ڪيس نهايت عجيب آهي. هو جنهن واقعي جي ظاهر ٿيڻ کي هڪ ڀيري مڃي رهيا آهن، اُن ئي واقعي جو ٻيهر ظاهر ٿيڻ جو انڪار ڪري ڇڏيندا آهن.

جيڪي ماڻهو ٻي زندگي جي هئڻ کي نہ ٿا مڃين، اُهي ٻي زندگي جو عقيدو رکڻ وارن تي حيرانيءَ جو اظهار ڪندا آهن. سندن خيال اِهو هوندو آهي تہ ٻي زندگي کي مڃڻ هڪ غير علمي ڳالهہ کي مڃڻ آهي. پر حقيقت اِها آهي تہ صورتحال ان کان بلڪل ابتڙ آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪو منڪر جنهن شيءِ جو انڪار ڪري سگهي ٿو، اِها رڳو ٻي زندگي آهي. جيستائين پهرين زندگي جو تعلق آهي، اُن جو انڪار ڪرڻ ڪنهن ماڻهو جي لاءِ ممڪن نہ آهي. ڇاڪاڻ اِهو تہ هڪ زندهہ واقعي جي طور تي هر ماڻهو جي سامهون موجود آهي. پوءِ جڏهن پهرين زندگي جو وجود ۾ اچڻ ممڪن آهي تہ ٻي زندگي جو وجود ۾ اچڻ ناممڪن ڪيئن ٿي سگهي ٿو.

اهڙا ماڻهو هميشہ تمام گهٽ هوندا آهن جيڪي خدا جا منڪر هجن. اڪثر ماڻهن جو حال اِهو

آهي ته هو هڪ خالق کي مڃيندا آهن. پر هو آخرت کي نه ٿا مڃين. پر آخرت جي انڪار ڪانپوءِ خالق جي اقرار جي ڪا قيمت باقي نه ٿي رهي. خدا هن ڪائنات جو رڳو خالق ئي نه آهي، پر اُهو خود حق به آهي. خدا جو سراسر حق ۽ عادل هئڻ لازمي طور تي تقاضا ڪندو آهي ته هو جيڪو ڪجهه ڪري حق ۽ عدل مطابق ڪري. آخرت اصل ۾ خدا جي عدل واري صفت جو ظهور آهي. خدا کي مڃڻ اُهوئي مڃڻ آهي، جڏهن ته ان سان گڏ آخرت کي به مڃيو وڃي. آخرت کي مڃڻ کان بغير خدا جو عقيدو مڪمل نه ٿيندو.

جيڪي ماڻهو حق جي سڏ ۽ سچي پيغام کي نه ٿا مڃن، ان جي وجهه اڪثر اِها هوندي آهي جو هو جمود، تعصب ۽ انا جو شڪار هوندا آهن. انهن سان ڳالهه ڪجي ته ائين لڳندو آهي، ڄڻ اُهي پنهنجن خيالن جا قيدي بڻيل آهن. انهن خيالن مان نڪري هو آزاداڻي طور تي ڪنهن ٻاهرين حقيقت تي غور نه ٿا ڪري سگهن. ان ئي حالت کي ”ڳچي ۾ ڳٽ پيل آهن“ فرمايو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته ڳچي ۾ ڳٽ هئڻ غلامي جي علامت آهي. ڄڻ ته اِهي ماڻهو پنهنجي خيالن جا غلام آهن. جيڪي ماڻهو اهڙي طرح پنهنجي پاڻ کي دنيا ۾ قيدي بڻائي وٺن ته آخرت ۾ به انهن جي حصي ۾ قيد ئي ايندي.

وَ يَسۡتَعۡجِلُوۡنَكَ بِالسَّيِّئَةِ قَبۡلَ الۡحَسَنَةِ وَ قَدۡ خَلَتۡ مِنۡ قَبۡلِهِمُ الۡمَثُلٰتُ ؕ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَذُوۡ مَغۡفِرَةٍ لِّلنَّاسِ عَلٰى ظُلۡمِهِمۡ ۚ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَشَدِيۡدُ الۡعِقَابِ ﴿۶﴾

اُهي ڀلائي کان اڳ ۾ برائي جي لاءِ جلدي ڪري رهيا آهن. حالانڪ انهن کان اڳ ۾ مثالَ گذري چڪا آهن ۽ تنهنجو رب ماڻهن جي ظلم جي باوجود انهن کي معاف ڪرڻ وارو آهي. ۽ بيشڪ تنهنجو رب سخت سزا ڏيڻ وارو آهي. ٦

---

رسول اللهﷺ مڪي جي ماڻهن کي چوندا هئا ته خدا جي هدايت کي مڃو نه ته توهان خدا جي پڪڙ ۾ اچي ويندو. ان جي جواب ۾ انهن چيو ”خدايا! محمدﷺ جيڪو ڪجهه پيش ڪري رهيا آهن، جيڪڏهن اِهو حق آهي ته تون اسان جي مٿان آسمان تان پٿر وساءِ“. اِها دعا بظاهر خدا کان هئي، پر حقيقت ۾ ان جو رخ رسولﷺ ڏانهن هو. پاڻﷺ ان وقت مڪي جي ماڻهن کي بلڪل بي حيثيت معلوم ٿيندا هئا. انهن کي يقين نه ايندو هو ته اهڙي معمولي ماڻهوءَ جي انڪار تي خدا اسان کي سزا ڏيندو. ”محمد ﷺ“ جي انڪار تي عذاب جو اچڻ، انهن کي ايترو ناممڪن نظر ايندو هو جو هُو مذاق طور چوندا هئا ته تون جنهن خدائي عذاب جي ڌمڪي ڏئي رهيو آهين، اسان چاهيون ٿا ته اُهو اسان تي اچي وڃي.

فرمايو ويو ته توهان جي حق جي انڪار جي ڪري توهان تي خدا جو عذاب ته اچڻ وارو ئي آهي. اِها رڳو توهان جي بدبختي آهي جو توهان اُن کي جلدي سڏڻ چاهيو ٿا. حالانڪ توهان کي گهرجي ته هِن مهلت کي قرآن جي دعوت تي غور فڪر ۽ ان جي قبوليت ۾ استعمال ڪريو، نه وري عذاب کي وقت کان پهرين سڏڻ جي لاءِ.

ماڻهو چاهيندا آهن ته خدا جي عذاب کي پنهنجن اکين سان ڏسي پوءِ ان کي مڃين. پر اِهو مطالبو سندن انڌي هئڻ جي ڪري آهي. جيڪڏهن انهن وٽ اکيون هجن ته جيڪو ڪجهه ٻين سان پيش

آيو، اُهوئي سندن سبق جي لاءِ ڪافي آهي. انهن کان اڳ ڪيترين ئي قومون گذري چڪيون آهن جن انهن وانگر پنهنجي زماني جي پيغمبرن کي ڪوڙو ڄاتو ۽ آخرڪار انهن کي ان جي سزا ڀو ڳڻي پئي.

خدا جو قانون اِهو آهي ته هو انسان کي عمل جي مهلت ڏيندو آهي. اِهوئي مهلت جو قانون آهي، جنهن ماڻهن کي سرڪشِ ٻڌائي رکيو آهي. پر مهلت جي هڪ حد آهي. ان حد کانپوءِ جيڪا شيءِ سندن انتظار ڪري رهي آهي، اُهو صرف دردناڪ عذاب آهي جنهن کان هو خود کي بچائي نه سگهندا.

وَ يَقُوۡلُ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لَوۡ لَاۤ اُنۡزِلَ عَلَيۡهِ اٰيَةٌ مِّنۡ رَّبِّهٖ ؕ اِنَّمَاۤ اَنۡتَ مُنۡذِرٌ وَّ لِكُلِّ قَوۡمٍ هَادٍ ۝

۽ جن ماڻهن انڪار ڪيو سي چوندا آهن ته هِن شخص تي ان جي رب طرفان ڪا نشاني ڇو نٿي لهي. تون ته صرف خبردار ڪرڻ وارو آهين. ۽ هر قوم لاءِ هڪ راهه ٻڌائڻ وارو آهي. ٧

---

اڄ سڄي دنيا ۾ هڪ ارب کان به وڌيڪ انسان محمدﷺ کي خدا جو رسول مڃيندا آهن. پر پاڻﷺ جي زندگي ۾ مڪي وارن کي سمجهه ۾ نه اچي سگهيو ته پاڻﷺ کي خدا پنهنجو رسول بڻايو آهي. ان جي وجهه اِها هئي ته پنهنجي تاريخ جي ابتدائي دور ۾ پاڻﷺ جي نبوت هڪ اختلافي (Controversial) نبوت هئي. پر اڄ پنهنجي تاريخ جي آخري دؤر ۾ پاڻﷺ جي نبوت هڪ ثابت ٿيل (Established) نبوت بڻجي وئي آهي. اختلافي دور ۾ پيغمبر کي سڃاڻڻ جيترو مشڪل آهي ايترو ئي ثابت ٿيل دور ۾ ان کي سڃاڻڻ آسان ٿي ويندو آهي.

مڪي جي ماڻهن وٽ جيڪو پيمانو هو، اُهو دولت، اقتدار ۽ عوام ۾ مقبوليت جو پيمانو هو. اُن لحاظ کان پاڻﷺ انهن کي غير معمولي نظر نه ايندا هئا. ان ڪري انهن چاهيو ته پاڻﷺ سان گڏ ڪا غير معمولي نشاني هجي جو انهن جي لاءِ پاڻﷺ جي پيغمبر هئڻ جو قطعي ثبوت بڻجي وڃي. ان جي جواب ۾ فرمايو ويو ته اِهي ماڻهو اهڙي شيءِ گُهري رهيا آهن، جيڪا خدائي منصوبي جي مطابق نه آهي، ان ڪري اُها ڪنهن کي ملڻ واري به نه آهي.

موجوده دنيا امتحان جو گهر آهي. هتي هدايت اِهڙين پڌرين نشانين سان گڏ نه ٿي اچي سگهي جو ان کانپوءِ ماڻهو جي لاءِ شڪ جي گنجائش باقي نه رهي. ڇاڪاڻ ته اِهڙي حالت ۾ امتحان جي مصلحت ختم ٿي ويندي آهي. هِتي هر حال ۾ اِهوئي ٿيندو جو ماڻهو کي ”خبر“ جي سطح تي پرکي ان جو يقين ڪرڻو پوندو. جيڪو ماڻهو ان امتحان ۾ پورو نه لٿو ته ان جي حصي ۾ هدايت به ڪڏهن نه ٿي اچي سگهي.

خدا هر قوم لاءِ ان منجهان هڪ ماڻهو کي اٿاريندو آهي ته جيئن هو سندن زبان ۾ انهن کي خدا جو پيغام پهچائي ڇڏي. اِهو انتظام قومن جي آساني لاءِ ڪيو ويو هو. پر اڪثر ائين ٿيو جو قومن ان جو اُبتو اثر ورتي خدا جي پيغمبرن جو انڪار ڪري ڇڏيو. انهن جون نگاهون پيغام پهچائڻ واري جي معمولي حيثيت تي اٽڪي رهجي ويون، هو پيغام جي غير معمولي هجڻ کي نه ڏسي سگهيا.

اَللّٰهُ يَعۡلَمُ مَا تَحۡمِلُ كُلُّ اُنۡثٰى وَ مَا تَغِيۡضُ الۡاَرۡحَامُ وَ مَا تَزۡدَادُ ؕ وَ كُلُّ شَىۡءٍ عِنۡدَهٗ
بِمِقۡدَارٍ ﴿۸﴾ عٰلِمُ الۡغَيۡبِ وَ الشَّهَادَةِ الۡكَبِيۡرُ الۡمُتَعَالِ ﴿۹﴾ سَوَآءٌ مِّنۡكُمۡ مَّنۡ اَسَرَّ الۡقَوۡلَ وَ
مَنۡ جَهَرَ بِهٖ وَ مَنۡ هُوَ مُسۡتَخۡفٍۢ بِالَّيۡلِ وَ سَارِبٌۢ بِالنَّهَارِ ﴿۱۰﴾

الله ڄاڻي ٿو هر مادي جي حمل کي. ۽ جيڪو ڪجهه رحم ۾ گهٽجي ۽ وڌي ٿو ان کي به. ۽ هر شيءِ جو ان وٽ هڪ اندازو مقرر آهي. هو ڳجهي ۽ پڌري جو ڄاڻڻ وارو آهي، سڀني کان وڏو آهي، سڀني کان مٿانهون. توهان مان ڪو ماٺهو هوريان ڳالهائي يا ڏاڍيان ڳالهائي ۽ جيڪو رات ۾ لڪل هجي. يا ڏينهن ۾ هلي رهيو هجي، الله جي لاءِ سڀ برابر آهن. ٨-١٠

---

ماءُ جو پيٽ هڪ حيرت انگيز فيڪٽري آهي. اُن خدائي فيڪٽري ۾ جيڪا انساني پيداوار تيار ٿيندي آهي، اُن جو هڪ عجيب پهلو اِهو آهي جو اِها ”مقرر مقدار“ جي مطابق عمل ڪندي آهي. اڄڪلهه جي زبان ۾ چئڻ ته ڊماند ۽ سپلائي جي وچ ۾ مسلسل هڪ توازن برقرار رهندو آهي.

مثلاً اِها فيڪٽري هزارن سالن کان ڪم ڪري رهي آهي. ان مان مرد به پيدا ٿي رهيا آهن ۽ عورتون به. پر ٻنهي جنسن جي تعداد جي وچ ۾ هميشه هڪ توازن قائم رهندو آهي. ائين ڪڏهن نه ٿيندو آهي ته ان فيڪٽري مان سڀ مرد ئي مرد پيدا ٿي وڃن يا سڀ عورتون ئي عورتون پيدا ٿيڻ لڳن. جنگ جهڙو ڪو حادثو مقامي طور تي ڪڏهن اُن توازن کي خراب ڪري ڇڏيندو آهي. پر حيرت انگيز طور تي ڏٺو ويو آهي ته ڪجهه عرصي ڪانپوءِ ئي اِهو قدرتي ڪارخانو ان توازن کي ٻيهر قائم ڪري ڇڏيندو آهي.

اِهوئي معاملو ان فيڪٽريءَ مان نڪرڻ وارن مردن ۽ عورتن جي وچ ۾ صلاحيتن جي توازن جو آهي، مطالعو ٻڌائي ٿو ته پيدا ٿيڻ وارا مرد ۽ عورتون سڀ برابر صلاحيتن جا نه هوندا آهن. انهن جي صلاحيتن ۾ تمام گهڻو فرق هوندو آهي. اُن فرق جي تمدني، معاشرتي ۽ انتظامي زندگي ۾ غير معمولي اهميت هوندي آهي. ڇاڪاڻ ته معاشرتي ۽ انتظامي زندگي جو ڪاروبار هلائڻ جي لاءِ مختلف قسم جي صلاحيتن جا انسان گهربل آهن. ماءُ جي فيڪٽري نهايت خاموشيءَ سان هر قسم جي صلاحيتن وارا انسان اهڙي طرح ڪاميابي سان تيار ڪري رهي آهي ڄڻ اُن کي ٻاهران ”آرڊر“ ملي رهيا هجن ۽ هو پيٽ جي اندر ان جي مطابق انسانن جي تشڪيل ڪري رهي هجي. جيڪڏهن انساني پيداوار ۾ اِهو صلاحيتن جو فرق نه هجي ته معاشرتي ۽ انتظامي زندگي جو سڄو نظام بيهي رهي ۽ سڀ ترقيون پوئتي ٿي رهجي وڃن.

ماءُ جي پيٽ واري عمل ۾ اُن منصوبه بندي جو هئڻ ۾ واضح طور تي ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته اُن جي پويان ڪو منصوبو ناهڻ وارو آهي. بغير ڪنهن ارادي ۽ منصوبابندي جي اهڙي قسم جو نظام لڳاتار قائم نه ٿو رهي سگهي.

ان مان اِهو به ثابت ٿيندو آهي ته هِن دنيا جو خالق ۽ مالڪ هڪ اِهڙي هستي آهي، جنهن کي نه صرف ظاهر جي خبر آهي، بلڪ هُو ڳجهه کي به ڄاڻي ٿو. رحم جي اندر ۽ ماءُ جي پيٽ ۾ جيڪو ڪجهه

ٿيندو آهي، اُهو بظاهر هڪ ڳجهي شيءِ آهي، پر مٿي ذڪر ڪيل واقعو ٻڌائي ٿو تہ خدا کي اُن جي مڪمل خبر آهي. پوءِ جيڪا هستي ڪنهن هڪ جي ڳجهہ ۽ ظاهر کي ڄاڻندي هجي، اُها ٻين جي ڳجهہ ۽ ظاهر کي ڪيئن نہ ڄاڻندي. فرشتن جو عقيدو بہ ان ئي مان ثابت ٿيندو آهي. ڄاڪاڻ تہ اُهي ”نگراني“ جي موجوده نظام جو حصو آهن.

لَهٗ مُعَقِّبٰتٌ مِّنۡۢ بَيۡنِ يَدَيۡهِ وَ مِنۡ خَلۡفِهٖ يَحۡفَظُوۡنَهٗ مِنۡ اَمۡرِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُغَيِّرُ مَا بِقَوۡمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوۡا مَا بِاَنۡفُسِهِمۡ ؕ وَ اِذَاۤ اَرَادَ اللّٰهُ بِقَوۡمٍ سُوۡٓءًا فَلَا مَرَدَّ لَهٗ ۚ وَ مَا لَهُمۡ مِّنۡ دُوۡنِهٖ مِنۡ وَّالٍ ﴿۱۱﴾

هر ماڻهو جي اڳيان ۽ پويان اُن جا نگران آهن جيڪي الله جي حڪم سان اُن جي سنڀال ڪري رهيا آهن. بيشڪ الله ڪنهن قوم جي حالت کي نہ ٿو بدلائي، جيستائين هو ان کي نہ بدلائين جيڪو سندن جيءَ ۾ آهي. ۽ جڏهن الله ڪنهن قوم تي ڪا آفت آڻڻ ٿو چاهي تہ پوءِ ان جي ٽرڻ جي ڪا صورت نہ آهي ۽ الله ڪانسواءِ ان جي مقابلي ۾ سندن ڪو مددگار نہ آهي. ١١

دنيا ۾ قومن جو عروج ۽ زوال اوچتو يا حادثاتي طور نہ ٿيندو آهي، بلڪ خدا جي نگراني ۽ فيصلي سان ٿيندو آهي. خدا جڏهن ڪنهن قوم کي پنهنجي نعمت سان نوازيندو آهي تہ هو اُن نعمت کي اُن وقت تائين اُن لاءِ باقي رکندو آهي، جيستائين هو پنهنجي اندر اُن جي استعداد ۽ لياقت کي باقي رکندا آهن. استعداد وڃائي ڇڏڻ ڪان پوءِ اُها قوم لازمي طور تي خدا جي نعمت کي بہ وڃائي ڇڏيندي آهي. مثلاً پاڻ ۾ اتحاد وڃائڻ ڪان پوءِ ٻاهرين دنيا ۾ رعب ڪان محروم ٿي وڃڻ وغيره. دنيا ۾ ڪا بہ قوم جيڪو ڪجهہ حاصل ڪري ٿي، اُهو خدا جي قانون تحت حاصل ڪندي آهي ۽ ڪا بہ قوم جيڪو ڪجهہ وڃائي ٿي، اُهو خدا جي قانون تحت وڃائي ٿي. خدا ڪان سواءِ هتي نہ ڪو ڏيڻ وارو آهي ۽ نہ ڪوئي ڪسڻ وارو.

هُوَ الَّذِيۡ يُرِيۡكُمُ الۡبَرۡقَ خَوۡفًا وَّ طَمَعًا وَّ يُنۡشِئُ السَّحَابَ الثِّقَالَ ﴿۱۲﴾ۚ وَ يُسَبِّحُ الرَّعۡدُ بِحَمۡدِهٖ وَ الۡمَلٰٓئِكَةُ مِنۡ خِيۡفَتِهٖ ۚ وَ يُرۡسِلُ الصَّوَاعِقَ فَيُصِيۡبُ بِهَا مَنۡ يَّشَآءُ وَ هُمۡ يُجَادِلُوۡنَ فِي اللّٰهِ ۚ وَ هُوَ شَدِيۡدُ الۡمِحَالِ ﴿۱۳﴾ؕ

اُهوئي آهي جيڪو توهان کي وڄ ڏيکاريندو آهي جنهن مان ڊپ بہ پيدا ٿيندو آهي ۽ اميد بہ. ۽ اُهو ئي آهي جيڪو پاڻي سان ڀريل ڪڪرن کي ڪٽندو آهي. ۽ وڄ جي گجگوڙ اُن جي حمد سان گڏ پاڪائي بيان ڪندي آهي. ۽ ملائڪ پڻ سندس خوف ڪان. ۽ هو وڄون موڪليندو آهي، پوءِ جنهن تي چاهي تنهن تي ڪيرائيندو آهي. ۽ اُهي ماڻهو الله جي باري ۾ جهڳڙو ڪندا آهن، حالانڪ هو زبردست آهي قوت وارو آهي. ١٢-١٣

وڄ جو چمڪڻ ڪڏهن نئين ۽ خوشگوار موسم جي اچڻ جو پيغام هوندو آهي ۽ ڪڏهن هو ”صاعقہ“ وڄ يا ڪنوڻ بڻجي زمين تي ڪرندي آهي ۽ شين کي ساڙي ڇڏيندي آهي. اهڙي طرح ڪڪر

ايندا آهن ته ڪڏهن فائديمند مينهن جي صورت ۾ زمين تي وسندا آهن ۽ ڪڏهن طوفان ۽ سيلاب جي صورت ۾ ظاهر ٿيندا آهن.

اُن جو مطلب اِهو آهي ته هِن دنيا ۾ هڪ ئي شيءِ ۾ ڊپ جو پهلو به آهي ۽ اميد جو پهلو به. دنيا جو انتظام هلائڻ وارو جنهن شيءِ جي ذريعي دنيا وارن تي پنهنجي رحمت موڪلي ٿو، اُن ئي کي هو تباهه ڪندڙ عذاب به بڻائي سگهي ٿو. هِن صورتحال جي تقاضا اِها آهي ته ماڻهو ڪڏهن به پنهنجي پاڻ کي خدا جي پڪڙ کان محفوظ نه سمجهي.

غافل انسان هميشه ڪنهن انوکي ۽ طلسماتي نشاني جي ظهور جا منتظر رهندا آهن، پر جن ماڻهن جو شعور بيدار آهي، انهن کي پنهنجي آس پاس روزاني جي واقعن ۾ هر قسم جون اعليٰ نشانيون ملي وينديون آهن. وڄ جي گجگوڙ ۽ چمڪ سندن دلين جي ڌڙڪن کي تيز ڪري ڇڏيندي آهي ۽ مينهن جا ڦڙا ڏسي سندن اکين مان لڙڪ جو سيلاب وهي پوي ٿو. خدا جي طاقت کي براهه راست ڏسي ملائڪن جو جيڪو حال ٿيندو آهي، اُهو ئي حال سچي انسانن جو اُن وقت ٿي ويندو آهي، جڏهن ته انهن خدا جي طاقت کي اڃا روبرو ڏٺو ناهي هوندو.

لَهٗ دَعْوَةُ الْحَقِّ ؕ وَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ لَا يَسْتَجِيْبُوْنَ لَهُمْ بِشَيْءٍ اِلَّا كَبَاسِطِ كَفَّيْهِ اِلَى الْمَآءِ لِيَبْلُغَ فَاهُ وَ مَا هُوَ بِبَالِغِهٖ ؕ وَ مَا دُعَآءُ الْكٰفِرِيْنَ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ ﴿١٤﴾

صرف الله کي سڏڻ ئي حق آهي. ۽ ان کانسواءِ جن کي ماڻهو سڏيندا آهن سي انهن جي ان کان وڌيڪ فرياد رسي نه ٿا ڪري سگهن جيترو پاڻي ان ماڻهو جي ڪندو آهي جيڪو پنهنجا ٻئي هٿ پاڻي ڏانهن ڊگها ڪري، ته جيئن اُهو سندس وات تائين پهچي وڃي ۽ اُهو سندس وات تائين پهچڻ وارو نه آهي. ۽ منڪرن جو سڏڻ بي فائده آهي. ١٤

---

جيڪڏهن توهان هٿ ڦهلائي سمنڊ جي پاڻي کي سڏيو ته ائين ڪڏهن نه ٿيندو جو سمنڊ توهان جي سڏ کي ٻُڌي ۽ ان جو پاڻي سمنڊ جي گهراين مان نڪري توهان ڏانهن اچي ۽ توهان جي کيتي ۽ باغن کي شادابي ڏي. پر ان ئي سمنڊ سان ائين به ٿيندو آهي جو قدرت جي قانون تحت ان جو پاڻي لوڻ جي حصي کي ڇڏي فضا ۾ بلند ٿيندو آهي. پوءِ گرمي ۽ ڪشش ۽ هوا جي عمل سان متحرڪ ٿي اِهو توهان جي بستين جي مٿان ايندو آهي ۽ مٺي پاڻي جي صورت ۾ وسي توهان جي زمين کي شاداب ڪري ڇڏيندو آهي. ان مان معلوم ٿيو ته سمنڊ بظاهر عظيم هجڻ جي باوجود سراسر عاجز آهي. ان کي ڪنهن به قسم جو ذاتي اختيار حاصل نه آهي.

اِهوئي هِن دنيا جي سيني شين جو حال آهي. اهڙي حالت ۾ عقلمند انسان صرف اُهو آهي جيڪو خالق جي پوڄا ڪري نه وري مخلوق جي، جيڪو شين جي رب کي پنهنجي توجهه جو مرڪز بڻائي نه وري خود شين کي.

السجدة ۲ وَ لِلّٰهِ يَسْجُدُ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ طَوْعًا وَّ كَرْهًا وَّ ظِلٰلُهُمْ بِالْغُدُوِّ وَ الْاٰصَالِ ﴿١٥﴾ السجدة

قُلۡ مَنۡ رَّبُّ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ ؕ قُلِ اللّٰهُ ؕ قُلۡ اَفَاتَّخَذۡتُمۡ مِّنۡ دُوۡنِهٖۤ اَوۡلِيَآءَ لَا يَمۡلِكُوۡنَ لِاَنۡفُسِهِمۡ نَفۡعًا وَّ لَا ضَرًّا ؕ قُلۡ هَلۡ يَسۡتَوِی الۡاَعۡمٰى وَ الۡبَصِيۡرُ ۙ اَمۡ هَلۡ تَسۡتَوِی الظُّلُمٰتُ وَ النُّوۡرُ ۚ اَمۡ جَعَلُوۡا لِلّٰهِ شُرَكَآءَ خَلَقُوۡا كَخَلۡقِهٖ فَتَشَابَهَ الۡخَلۡقُ عَلَيۡهِمۡ ؕ قُلِ اللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَىۡءٍ وَّ هُوَ الۡوَاحِدُ الۡقَهَّارُ ﴿۱۶﴾

۽ آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي بہ آهن سڀ الله ئي کي سجدو ڪندا آهن. خوشي مان يا مجبوري مان ۽ سندن پاڇا بہ صبح ۽ شام. چؤ آسمانن ۽ زمين جو رب ڪير آهي، چؤ تہ الله. چؤ ڇا پوءِ بہ توهان اُن ڪانسواءِ اهڙا مددگار بڻائي رکيا آهن جيڪي خود پنهنجي ذات جي نفعي ۽ نقصان جو بہ اختيار نہ ٿا رکن. چئو، ڇا انڌو ۽ اکين وارو بئي برابر ٿي سگهن ٿا يا ڇا اونداهيون ۽ سوجهرو بئي برابر ٿي ويندا. ڇا انهن الله جا اِهڙا شريڪ ڪيا آهن جن بہ پيدا ڪيو آهي جيئن الله پيدا ڪيو آهي جو هنن وٽ تخليق (پيدائش) مشڪوڪ ٿي پئي آهي. چؤ الله هر شيءِ جو پيدا ڪرڻ وارو آهي ۽ اُهوئي اڪيلو، زبردست آهي. ١٥-١٦

---

خدا جو مطالبو انسان کان اِهو آهي تہ هو ان جي اڳيان جهڪي پوي. اِهو ”جُهڪڻ“ سڄي ڪائنات جو دين آهي. هن دنيا ۾ هر شيءِ خدا جي حڪم اڳيان ڪامل طور تي جهڪيل آهي. ان ئي جهڪڻ جي هڪ نشاني شين جي پاڇي جو صبح ۽ شام مغرب ۽ مشرق ڏانهن لڙڻ آهي. شين جو اِهو پاڇو ڇڻ تہ اُن سجدي جو مثال پيش ڪري رهيو آهي جيڪو انسان کان شعوري طور تي گهربل آهي. سڄي ڪائنات جو جهڪڻ سجدي جو هڪ علامتي روپ آهي ۽ انسان جو سجدو ان جو حقيقي روپ.

وسيع ڪائنات جو مطالعو ٻڌائي ٿو تہ سڄي ڪائنات هڪڙي ئي آفاقي قانون ۾ ٻڌل آهي. اِهو ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ ان جو خالق ۽ مالڪ هڪ آهي. انسان جو علمي ۽ عقلي مطالعو ڪهڙي بہ طرح اِهو ثابت نہ ٿو ڪري تہ هن ڪائنات ۾ هڪ کان وڌيڪ طاقتن جي ڪار فرمائي آهي. اهڙي حالت ۾ هڪ خدا ڪانسواءِ وڌيڪ خدائن کي مڃڻ سراسر بي بنياد مفروضو آهي.

”اکين“ جو مشاهدو تہ صرف هڪ خدا جو ڏس ڏيندو آهي. ان ڪري جيڪي ماڻهو هڪ خدا کان وڌيڪ خدائن کي مڃين، اُهي رڳو هِن ڳالهہ جو ثبوت ڏئي رهيا آهن جو اُهي انڌا آهن. انهن پنهنجي انڌپڻ جي ڪري ڪيترائي خدا فرض ڪري ورتا آهن، نہ وري حقيقي معنيٰ ۾ علم ۽ مشاهدي جي بنياد تي.

اَنۡزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَسَالَتۡ اَوۡدِيَةٌۢ بِقَدَرِهَا فَاحۡتَمَلَ السَّيۡلُ زَبَدًا رَّابِيًا ؕ وَ مِمَّا يُوۡقِدُوۡنَ عَلَيۡهِ فِی النَّارِ ابۡتِغَآءَ حِلۡيَةٍ اَوۡ مَتَاعٍ زَبَدٌ مِّثۡلُهٗ ؕ كَذٰلِكَ يَضۡرِبُ اللّٰهُ الۡحَقَّ وَ الۡبَاطِلَ ۙ فَاَمَّا الزَّبَدُ فَيَذۡهَبُ جُفَآءً ۚ وَ اَمَّا مَا يَنۡفَعُ النَّاسَ فَيَمۡكُثُ فِی الۡاَرۡضِ ؕ كَذٰلِكَ يَضۡرِبُ اللّٰهُ الۡاَمۡثَالَ ﴿ؕ۱۷﴾

الله آسمان مان پاڻي وسايو. پوءِ نديون پنهنجي پنهنجي مقدار موجب وهي نڪتيون. پوءِ سيلاب ايرندي گجي (جهاڳ) کي کنيو ۽ اهڙي طرح جو گجي (جهاڳ) انهن شين ۾ بہ ايري ايندي آهي جن کي ماڻهو زيور يا سامان ٺاهڻ جي لاءِ باهہ ۾ پگهاريندا آهن. اهڙي طرح الله حق ۽ باطل جي مثال بيان ڪندو آهي. پوءِ گجي (جهاڳ) تہ

سڪي ويندي آهي ۽ جيڪا شيءِ انسانن کي نفعو پهچائڻ واري آهي سا زمين ۾ باقي رهجي ويندي آهي. الله اِهڙي طرح مثال بيان ڪندو آهي. ١٧

---

خدا پنهنجي دنيا اهڙي طرح ٺاهي آهي جو هِتي مادي واقعا اخلاقي حقيقتن جو مثال بڻجي ويا آهن. جيڪو ڪجهه الله تعاليٰ کي انسان کان شعور جي سطح تي گهربل آهي اُن کي باقي دنيا ۾ مادي سطح تي ڏيکاريو پيو وڃي.

هِتي قرآن ۾ فطرت جي ٻن واقعن ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي. هڪ اِهو ته جڏهن مينهن پوندو آهي ۽ ان سان پاڻي وهي ندين ۽ نالن ۾ پهچي ٿو ته پاڻيءَ جي مٿان هر طرف گجي ڦهلجي ويندي آهي. اِهڙي طرح جڏهن چاندي ۽ ٻي معدنيات کي صاف ڪرڻ جي لاءِ باهه تي تپايو ويندو آهي ته انهن جي ميراڻ گجيءَ جي صورت ۾ مٿي اچي ويندي آهي. پر پوءِ جلد ئي ائين ٿيندو آهي ته ٻنهي شين جي گجي جنهن ۾ انسان جي لاءِ ڪو فائدو نه آهي هوا ۾ اڏامي ويندي آهي ۽ پاڻي ۽ چاندي پنهنجي جڳهه تي محفوظ رهجي ويندا آهن جيڪي انسان جي لاءِ فائديمند آهن.

اهي فطرت جا واقعا آهن جن جي ذريعي خدا مثال جي رُوپ ۾ ڏيکاري رهيو آهي ته هُن زندگي جي ڪاميابي ۽ ناڪامي جي لاءِ ڪهڙا اصول مقرر فرمايا آهن. اُهو اصول هِي آهي ته هِن دنيا ۾ صرف ان ماڻهو يا قوم کي جڳهه ملندي آهي جيڪو ٻين جي لاءِ فائديمند هئڻ جو ثبوت ڏي. جيڪو فرد يا گروهه ٻين انسانن کي فائدو پهچائڻ جي طاقت وڃائي ڇڏي، ان جي لاءِ خدا جي ٺاهيل دنيا ۾ ڪا به جڳهه نه آهي.

وقف النبي صلى الله عليه وآله وسلم لِلَّذِيۡنَ اسۡتَجَابُوۡا لِرَبِّهِمُ الۡحُسۡنٰیؔ ؕ وَ الَّذِیۡنَ لَمۡ یَسۡتَجِیۡبُوۡا لَهٗ لَوۡ اَنَّ لَهُمۡ مَّا فِی الۡاَرۡضِ
جَمِیۡعًا وَّ مِثۡلَهٗ مَعَهٗ لَافۡتَدَوۡا بِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمۡ سُوۡٓءُ الۡحِسَابِ ۬ۙ وَ مَاۡوٰىهُمۡ جَهَنَّمُ ؕ وَ
النصف ع ٨ بِئۡسَ الۡمِهَادُ ﴿۱۸﴾

جن ماڻهن پنهنجي رب جي پڪار تي لبيڪ چيو، انهن لاءِ ڀلائي آهي ۽ جن ماڻهن ان جي پڪار کي نه مڃيو، جيڪڏهن انهن وٽ اِهو سڀ ڪجهه هجي جيڪو زمين ۾ آهي ۽ ان جي برابر ٻيو به ته اُهو سڀ پنهنجي نجات جي عيوض ڏئي ڇڏين. انهن ماڻهن جو حساب سخت ٿيندو ۽ سندن ٺڪاڻو جهنم هوندو. ۽ اُهو ڪيڏو برو ٺڪاڻو آهي. ١٨

---

دنيا ۾ خدا جو اِهو قانون آهي ته چاهي وقتي طور تي ميراڻ ۽ گجي ابري مٿي اچي وڃي، پر آخرڪار جنهن شيءِ کي هِتي عزت جو مقام ملندو آهي اُها اُهائي آهي جيڪا حقيقي آهي ۽ جنهن ۾ فائدي پهچائڻ جي صلاحيت به آهي. آخرت جي لحاظ کان به انسانن جو اهوئي معاملو آهي. دنيا ۾ ڪجهه ماڻهو پنهنجي حيثيت جي ڪري ڪامياب ٿي مٿي اچي سگهن ٿا، پر آخرت ۾ اُهي ئي ماڻهو اُوچو ۽ اعليٰ مقام حاصل ڪندا جيڪي حقيقي صفتن جا مالڪ هجن.

دنيا ۾ جيڪي ماڻهو حق جي پڪار تي لبيڪ نه ٿا چون، ان جي وجهه هميشه اِها هوندي آهي ته خالص حق ڏانهن وڌڻ ۾ انهن کي دنيا جا فائدا هٿان نڪرندي نظر ايندا آهن. اِهڙن ماڻهن کي حق کي

نظر انداز ڪرڻ جي قيمت هميشه اِها ملندي آهي جو هو دنيا ۾ عزت ۽ مقبوليت ۽ خوشحالي جا مالڪ بڻجي ويندا آهن. اهي حق جو انڪار ڪري اوچين گادين تي سرفراز ٿي ويندا آهن.

پر انهن شين جي حيثيت ميراڻ ۽ گجيءَ ڪان وڌيڪ نہ آهي. آخرت ۾ اِهي سڀ ماڻهو گجي وانگر پري اڇلايا ويندا ۽ اهي ئي ماڻهو ڪامياب نظر ايندا جن سيني وقتي فائدي ڪي نظر انداز ڪندي پنهنجي پاڻ ڪي حق جي حوالي ڪيو هو.

جيڪي ماڻهو دنيا جي حيثيت ۽ دنيا جي فائدن ڪي ايتري اهميت ڏئي رهيا هجن جو ان جي خاطر حق ڪي نظرانداز ڪري ڇڏين، آخرت ۾ اِهي شيون انهن ڪي ايتريون حقير ڏسڻ ۾ اينديون جو اهي چاهيندا تہ هي سڄي دنيا ۽ ان جي برابر هڪ ٻي دنيا بہ ملي وڃي تہ هو ان سڄي ڪي صرف عذاب ڪان بچڻ جي لاءِ فديي ۾ ڏئي ڇڏين.

اَفَمَنۡ يَّعۡلَمُ اَنَّمَآ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ مِنۡ رَّبِّكَ الۡحَقُّ كَمَنۡ هُوَ اَعۡمٰى ؕ اِنَّمَا يَتَذَكَّرُ اُولُوا الۡاَلۡبَابِ ۱۹

جيڪو ماڻهو هِي ڄاڻي ٿو تہ جيڪو ڪجھ تنهنجي رب طرفان نازل ٿيو آهي اُهو حق آهي، ڇا هُو اُن ماڻهو جهڙو ٿي سگهي ٿو جيڪو انڌو آهي. نصيحت تہ عقل وارا ماڻهوئي قبول ڪندا آهن. ۱۹

---

انسانن ۾ هميشہ ٻن قسمن جا ماڻهو هوندا آهن. هڪ انسان اُهو آهي جنهن خدا جي ڏنل عقل سان سوچيو ۽ حقيقت جي روشني ۾ هڪ يقيني فيصلي تائين پهتو. اِهڙي طرح جائزو وٺڻ جي نتيجي ۾ هن جي دل جنهن شيءِ تي مطمئن ٿي، ان ڪي هُن ارادي ۽ شعور سان اختيار ڪري ورتو.

ٻيا ماڻهو اُهي آهن جيڪي قومي روايتن ۽ تقليدي خيالن جي دائري ۾ سوچيندا آهن. جيڪي شين ڪي دليل جي نظر سان ڏسڻ جي بجاءِ رواجي نظر سان ڏسندا آهن ۽ پوءِ جيڪا شيءِ انهن ڪي عوام ۾ مقبول ٿيندي نظر ايندي آهي، اُن ڪي حق سمجهي اختيار ڪري وٺندا آهن.

قرآن جي نزديڪ پهريون ماڻهو اُهو آهي جنهن علم جي روشني ۾ ايمان آندو آهي. ان جي مقابلي ۾ ٻيو ماڻهو قرآن جي نظر ۾ انڌو آهي. پهرين ماڻهو خود پنهنجي عقل ۽ بصيرت سان حق ۽ باطل ڪي سڃاتو آهي. جڏهن تہ ٻئي ماڻهو جو سرمايو رڳو ٻُڌل ٻڌايل ڳالهيون آهن. ماڻهو جنهن ڪي باطل سمجهي وٺن، ان ڪي اُن بہ باطل سمجهي ورتو، ماڻهو جنهن ڪي حق سمجهن، ان جي متعلق هُن بہ يقين ڪري ورتو تہ اهو حق هوندو.

حق جي دعوت اهڙي ماڻهن جي تلاش جي لاءِ بلند ٿيندي آهي جيڪي پنهنجي عقل ڪان ڪم وٺي فيصلو ڪري سگهندا هجن. باقي جيڪي ماڻهو اکيون رکندي انڌا بڻيل هجن، انهن ڪي حق جي دعوت ڪجھ بہ فائدو نہ پهچائيندي.

الَّذِيۡنَ يُوۡفُوۡنَ بِعَهۡدِ اللّٰهِ وَ لَا يَنۡقُضُوۡنَ الۡمِيۡثَاقَ ۲۰ وَ الَّذِيۡنَ يَصِلُوۡنَ مَاۤ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖۤ
اَنۡ يُّوۡصَلَ وَ يَخۡشَوۡنَ رَبَّهُمۡ وَ يَخَافُوۡنَ سُوۡٓءَ الۡحِسَابِ ۲۱ وَ الَّذِيۡنَ صَبَرُوا ابۡتِغَآءَ
وَجۡهِ رَبِّهِمۡ وَ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ اَنۡفَقُوۡا مِمَّا رَزَقۡنٰهُمۡ سِرًّا وَّ عَلَانِيَةً وَّ يَدۡرَءُوۡنَ

بِالۡحَسَنَةِ السَّيِّئَةَ اُولٰٓئِكَ لَهُمۡ عُقۡبَى الدَّارِ ﴿٢٢﴾ جَنّٰتُ عَدۡنٍ يَّدۡخُلُوۡنَهَا وَ مَنۡ صَلَحَ
مِنۡ اٰبَآئِهِمۡ وَ اَزۡوَاجِهِمۡ وَ ذُرِّيّٰتِهِمۡ وَ الۡمَلٰٓئِكَةُ يَدۡخُلُوۡنَ عَلَيۡهِمۡ مِّنۡ كُلِّ بَابٍ ﴿٢٣﴾ سَلٰمٌ
عَلَيۡكُمۡ بِمَا صَبَرۡتُمۡ فَنِعۡمَ عُقۡبَى الدَّارِ ﴿٢٤﴾

اُهي ماڻهو جيڪي الله جي عهد کي پورو ڪندا آهن ۽ ان جي عهد کي نه ٿا ٽوڙين. ۽ جيڪي ان کي ڳنڍيندا آهن جنهن کي الله ڳنڍڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ هُو پنهنجي رب کان ڊڄندا آهن ۽ هو بُري حساب جو انديشو رکندا آهن ۽ جنهن پنهنجي رب جي رضا جي لاءِ صبر ڪيو ۽ نماز قائم ڪئي. ۽ اسان جي ڏنل مان ڳجهي ۽ پڌري طور خرچ ڪيو ۽ برائي کي ڀلائي سان ٽاريندا آهن. آخرت جو گهر اهڙن ئي ماڻهن جي لاءِ آهي. هميشه قائم رهڻ وارا باغ جن ۾ هو داخل ٿيندا. ۽ اُهي به جيڪي ان جا اهل بڻجن. سندن ابن ڏاڏن ۽ سندن زالن ۽ سندن اولاد مان. ۽ ملائڪ هر دروازي کان انهن وٽ ايندا، چوندا ته اوهان تي سلامتي هجي ان صبر جي ڪري جيڪو اوهان ڪيو. پوءِ ڪهڙو نه چڱو آهي هي آخرت جو گهر. ٢٠-٢٤

---

انسان کي خدا پيدا ڪيو. اُن انسان کي رهڻ جي لاءِ بهترين دنيا ڏني. هو هر گهڙي سندس پرورش ڪري رهيو آهي. اِهو واقعو انسان کي پنهنجي خالق ۽ مالڪ سان هڪ فطري عهد ۾ ٻڌي ڇڏيندو آهي. اُن جو تقاضو آهي ته انسان سرڪش نه بڻجي بلڪِ حقيقت جو اعتراف ڪندي خدا جي اڳيان جهڪي وڃي.

دنيا ۾ انسان جي زندگي مختلف قسم جي تعلقن ۽ رابطن جي وچ ۾ هوندي آهي. انسان جي ٻانهپ جو تقاضو آهي جو هو ان سان جڙي جنهن سان جڙڻ خدا کي پسند آهي ۽ ان کان الڳ ٿي وڃي جنهن کان الڳ ٿيڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. ان تي خدا جي عظمت جو احساس ايتري شدت سان طاري هجي جو هُو ان جي اڳيان جهڪي وڃي، ان جهڪڻ جي هڪ مقرر صورت جو نالو نماز آهي. هو پنهنجي مال مان ٻين کي اهڙي طرح ڏي جهڙي طرح خدا پنهنجي مال مان هن کي ڏنو آهي. هن کي ڪنهن جي طرفان بري سلوڪ جو تجربو ٿئي ته هو سٺي سلوڪ سان ان جو جواب ڏي. ڇاڪاڻ ته هو خود به اِهو چاهيندو آهي ته آخرت ۾ خدا ان جي براين کي نظر انداز ڪري ڇڏي ۽ ان سان فضل ۽ رحمت جو معاملو فرمائي.

اهو سڀ ڪجهه مسلسل صبر گهري ٿو. نفس جي خواهشن جي مقابلي ۾ صبر، مفادن جي نقصان جي مقابلي ۾ صبر، ماحول جي مخالفت جي مقابلي ۾ صبر. پر مؤمن کي جنت جي ڪري انهن سڀني شين تي صبر ڪرڻو آهي. صبر ئي جنت جي قيمت آهي. صبر جي قيمت ادا ڪرڻ کانسواءِ ڪنهن کي به خدا جي ابدي جنت نه ٿي ملي سگهي.

وَ الَّذِيۡنَ يَنۡقُضُوۡنَ عَهۡدَ اللّٰهِ مِنۡۢ بَعۡدِ مِيۡثَاقِهٖ وَ يَقۡطَعُوۡنَ مَاۤ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖۤ اَنۡ يُّوۡصَلَ وَ
يُفۡسِدُوۡنَ فِى الۡاَرۡضِ ۙ اُولٰٓئِكَ لَهُمُ اللَّعۡنَةُ وَ لَهُمۡ سُوۡٓءُ الدَّارِ ﴿٢٥﴾ اَللّٰهُ يَبۡسُطُ الرِّزۡقَ لِمَنۡ
يَّشَآءُ وَ يَقۡدِرُ ؕ وَ فَرِحُوۡا بِالۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا ؕ وَ مَا الۡحَيٰوةُ الدُّنۡيَا فِى الۡاٰخِرَةِ اِلَّا مَتَاعٌ ﴿٢٦﴾ ع

۽ جيڪي ماڻهو الله سان پڪو عهد ڪرڻ کانپوءِ ان کي ٽوڙين ٿا ۽ ان کي ڇنن ٿا جنهن کي الله ڳنڍڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ زمين ۾ فساد ڪن ٿا، اهڙن ماڻهن تي لعنت آهي ۽ سندن لاءِ بُرو گهر آهي. الله جنهن کي چاهي ٿو

ڪشادي روزي ڏي ٿو ۽ جنهن جي لاءِ چاهي ٿو تنگ ڪري ڇڏيندو آهي. ۽ اُهي دنيا جي زندگي تي خوش آهن. ۽ دنيا جي زندگي آخرت جي مقابلي ۾ هڪ قليل شيءِ ڪانسواءِ ٻي ڪجھ بہ نہ آهي. ٢٥-٢٦

---

انسان پنهنجي خدا سان فطري عهد ۾ ٻڌل آهي ۽ ٻين انسانن سان انسانيت واري عهد ۾. اُنهن ٻنهي عهدن کي ٽوڙڻ خدا جي زمين ۾ فساد ڪرڻ آهي. خدا جي زمين ۾ صالح ٿي رهڻ اِهو آهي تہ ماڻهو مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي عهدن جو پابند بڻجي زندگي گذاري. ان جي ابتڙ خدا جي زمين ۾ فسادي ٿيڻ اِهو آهي تہ ماڻهو انهن عهدن کان آزاد ٿي وڃي، ان کي نہ خدا جي حق جي پرواهہ هجي ۽ نہ وري انسانن جي حقن جي.

اِهڙا ماڻهو خدا وٽ لعنتي آهن. هي اُهي ماڻهو آهن، جيڪي خدا جي رحمتن ۾ حصيدار نہ بڻايا ويندا. انهن خدا جي زمين کي گندو ڪيو، ان ڪري اُهي ان قابل آهن جو آئنده انهن کي رڳو گندي گهر ۾ جڳهہ ملي.

دنيا ۾ ڪنهن کي گهٽ ملندو آهي ۽ ڪنهن کي وڌيڪ. هاڻي جنهن کي گهڻو مليو آهي اُهو احساسِ برتري ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي ۽ جنهن کي گهٽ مليو آهي اُهو احساس ڪمتري ۾. پر خدا جي نظر ۾ اِهي ٻئي غلط آهن. صحيح رد عمل اِهو آهي تہ گهڻو ملي تہ ماڻهو خدا جو شڪر گذار ٿئي ۽ گهٽ ملي تہ هُو صبر ۽ قناعت جو طريقو اختيار ڪري.

دنيا پرست ماڻهو هميشہ حق جي داعي کي نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهن. ان جي وجهہ اِها آهي تہ دنيا پرست ماڻهو صرف ظاهري عظمتن کي سڃاڻي ٿو. جڏهن تہ داعي وٽ صرف نظرياتي عظمت هوندي آهي. ان ڪري هو هُن کي سڃاڻي نہ ٿو سگهي. هُو هُن کي حقير سمجهي نظر انداز ڪري ڇڏيندو آهي. پر جڏهن حقيقت جو پردو ڪڄندو تہ ان وقت انسان ڄاڻندو تہ جنهن نظر اچڻ واري رونق کي هو سڀ ڪجھ سمجهي ويٺو هو، اُها بلڪل بي قيمت هئي. قدر ۽ قيمت جي شيءِ اصل ۾ اُها هئي جيڪا ڏسڻ ۾ نہ اچڻ جي ڪري ان جي توجهہ جو مرڪز نہ بڻجي سگهي.

وَ يَقُوۡلُ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لَوۡ لَاۤ اُنۡزِلَ عَلَيۡهِ اٰيَةٌ مِّنۡ رَّبِّهٖ ؕ قُلۡ اِنَّ اللّٰهَ يُضِلُّ مَنۡ يَّشَآءُ وَ
يَهۡدِيۡۤ اِلَيۡهِ مَنۡ اَنَابَ ۖۚ ﴿٢٧﴾ اَلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ تَطۡمَئِنُّ قُلُوۡبُهُمۡ بِذِكۡرِ اللّٰهِ ؕ اَلَا بِذِكۡرِ اللّٰهِ
تَطۡمَئِنُّ الۡقُلُوۡبُ ؕ ﴿٢٨﴾ اَلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ طُوۡبٰى لَهُمۡ وَ حُسۡنُ مَاٰبٍ ﴿٢٩﴾

۽ جن انڪار ڪيو سي چوندا آهن تہ هِن شخص تي اُن جي رب طرفان ڪا نشاني ڇو نہ لاٿي وئي. چئو تہ الله جنهن کي چاهي ٿو گمراهہ ڪري ٿو ۽ هُو پنهنجو رستو ان کي ڏيکاري ٿو جيڪو ان ڏانهن رجوع ڪري. اُهي ماڻهو جن ايمان آندو ۽ جن جي دلين کي الله جي ياد ۾ اطمينان ملي ٿو. ٻڌو! الله جي ياد سان ئي دلين کي اطمينان حاصل ٿيندو آهي. جن ماڻهن ايمان آندو ۽ جن چڱا ڪم ڪيا، انهن لاءِ خوشخبري آهي ۽ سٺو ٺڪاڻو آهي. ٢٧-٢٩

---

حق جي داعي کي نہ مڃڻ جي وجهہ عام طور تي اِها هوندي آهي جو ماڻهن کي داعي جي چوطرف ظاهري قسم جا ڪرشما ڏسڻ ۾ نٿا اچن. پر اِهوئي اُن مقام تي ناڪام ٿيڻ آهي جتي ماڻهو کي ڪاميابي جو ثبوت ڏيڻ گهرجي ها. خدا چاهي ٿو تہ ماڻهو حق کي سڃاڻي ۽ پنهنجي پاڻ کي اُن جي حوالي ڪري ڇڏي. هاڻي جيڪو شخص اصرار ڪري تہ هو ظاهري ڪرشمن جي دليل جي بغير نہ مڃيندو، اُن جو انجام هن دنيا ۾ اِهوئي ٿي سگهي ٿو جو خدا جي قانون مطابق اُن کي ڪڏهن بہ حق نہ

ملي. هو هميشه جي لاءِ هدايت کان محروم ٿي وڃي.

هي دنيا امتحان جو گهر آهي. هتي ماڻهو صرف ”ياد“ جي سطح تي خدا کي پائي سگهي ٿو. هو ان کي ”مشاهدي“ جي سطح تي نہ ٿو ملي سگهي. جيڪي ماڻهو اُن خدائي منصوبي تي راضي هجن، اُهي خدا کي حاصل ڪري وٺندا ۽ جيڪي ماڻهو اُن تي راضي نہ هجن، اُهي خدا کي پائڻ کان اهڙي طرح محروم رهندا جهڙي طرح ڪليل اک سان سج کي ڏسڻ تي اصرار ڪرڻ وارو سج کي ڏسڻ کان.

هن دنيا ۾ ڪاميابي صرف اُن ماڻهو لاءِ آهي جيڪو خدا جي منصوبي کي مڃي ۽ ان جي مطابق پنهنجي زندگي کي بدلائي ڇڏي، ڇاڪاڻ تہ دنيا جي تخليق ڪرڻ وارو خدا آهي نہ وري ڪو انسان.

كَذٰلِكَ اَرۡسَلۡنٰكَ فِيۡۤ اُمَّةٍ قَدۡ خَلَتۡ مِنۡ قَبۡلِهَاۤ اُمَمٌ لِّتَتۡلُوَا۟ عَلَيۡهِمُ الَّذِيۡۤ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡكَ وَهُمۡ يَكۡفُرُوۡنَ بِالرَّحۡمٰنِ ؕ قُلۡ هُوَ رَبِّيۡ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ عَلَيۡهِ تَوَكَّلۡتُ وَاِلَيۡهِ مَتَابِ ﴿۳۰﴾

اهڙي طرح اسان توکي موڪليو هڪ امت ۾ جنهن کان اڳ ڪيتريون امتون گذري چڪيون آهن تہ جيئن تون ماڻهن کي اُهو پيغام ٻڌائي ڇڏ جيڪو اسان تو ڏانهن موڪليو آهي ۽ اُهي مهربان خدا جو انڪار ڪري رهيا آهن. چئو تہ اُهوئي منهنجو رب آهي، اُن کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي، اُن ئي تي مون ڀروسو ڪيو ۽ اُن ڏانهن ئي منهنجو موٽڻ آهي. ٣٠

---

جيئن تہ هي دنيا امتحان جو گهر آهي، اُن جي فطري تقاضا اِها آهي تہ ظاهري نشانيون ڏيکارڻ کان پوءِ ماڻهن جو فيصلو ڪري ڇڏجي. هاڻي جيڪڏهن ماڻهن جي مطالبي تي خدا فوراً ڪا ظاهري نشاني ڏيکاري ڇڏي ۽ اُن کان پوءِ بہ ماڻهو نہ مڃين تہ فوراً اهي هلاڪت جا مستحق ٿي ويندا. پر اِها رحمان ۽ رحيم خدا جي خاص عنايت آهي جو هو ماڻهن جي مطالبي جي باوجود ظاهري نشانيون نہ ٿو ڏيکاري. بلڪ نصيحت ۽ دليل جي زبان ۾ حق جو پيغام پهچائيندو رهندو آهي. اهڙي طرح ماڻهن کي وڌ ۾ وڌ مهلت ملندي آهي تہ اُهي پنهنجي اصلاح ڪري خدا جي رحمتن جا مستحق بڻجي سگهن.

اهڙي حالت ۾ داعي کي گهرجي تہ هو ماڻهن جي نادان مطالبي جي ڪري گهبرائجي نہ وڃي. هو خدا جي منصوبي تي راضي رهندي ماڻهن کي اُن ڏانهن سڏيندو رهي.

وَلَوۡ اَنَّ قُرۡاٰنًا سُيِّرَتۡ بِهِ الۡجِبَالُ اَوۡ قُطِّعَتۡ بِهِ الۡاَرۡضُ اَوۡ كُلِّمَ بِهِ الۡمَوۡتٰى ؕ بَلۡ لِّلّٰهِ
الۡاَمۡرُ جَمِيۡعًا ؕ اَفَلَمۡ يَايۡـَٔسِ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَنۡ لَّوۡ يَشَآءُ اللّٰهُ لَهَدَى النَّاسَ جَمِيۡعًا ؕ وَ
لَا يَزَالُ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا تُصِيۡبُهُمۡ بِمَا صَنَعُوۡا قَارِعَةٌ اَوۡ تَحُلُّ قَرِيۡبًا مِّنۡ دَارِهِمۡ حَتّٰى
ع ١٠ يَاۡتِىَ وَعۡدُ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُخۡلِفُ الۡمِيۡعَادَ ﴿۳۱﴾ وَلَقَدِ اسۡتُهۡزِئَ بِرُسُلٍ مِّنۡ قَبۡلِكَ
فَاَمۡلَيۡتُ لِلَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا ثُمَّ اَخَذۡتُهُمۡ ۗ فَكَيۡفَ كَانَ عِقَابِ ﴿۳۲﴾

۽ جيڪڏهن اهڙو قرآن نازل ٿئي ها جنهن سان جبل هلڻ لڳن ها، يا اُن سان زمين ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃي ها يا اُن سان مُئل ڳالهائڻ لڳن ها. بلڪ سڄو اختيار الله ئي جي لاءِ آهي. ڇا ايمان آڻڻ وارن اجا نہ ڄاتو آهي تہ

جيڪڏهن الله گهري ها ته سيني ماڻهن کي هدايت ڏئي ڇڏي ها. ۽ انڪار ڪرڻ وارن تي ڪا نه ڪا آفت ايندي رهندي آهي، سندن عملن جي سبب يا سندن بستي جي قريب ڪٿي نازل ٿيندي رهندي. ايستائين جو الله جو وعدو پورو ٿئي. يقينًا الله وعدي جي خلاف نه ٿو ڪري. ۽ توکان اڳ ۾ به رسولن جو مذاق اڏايو ويو، ته مون انڪار ڪرڻ وارن کي ڍر ڏني، پوءِ مون انهن کي پڪڙي ورتو. ته ڏسو ڪهڙي هئي منهنجي سزا. ٣١-٣٢

---

حق کي نه مڃڻ جو اصل سبب دليل جي ڪمي نه آهي بلڪ انسان جي اِها آزادي آهي جو هو چاهي ته مڃي ۽ چاهي ته نه مڃي. جيستائين انسان کي انڪار جي آزادي حاصل آهي، هو ڪنهن به شيءِ جو انڪار ڪرڻ جي لاءِ عذر تلاش ڪري سگهي ٿو.

ان جي سامهون لفظن ۾ هڪ دليل آندو وڃي ته هو ڪجهه ٻيا لفظ ڳالهائي ان کي رد ڪري ڇڏيندو. ڪائنات جي نشانين جو حوالو ڏنو وڃي ته هو ان جي ترديد جي لاءِ هٽ ٺوڪيل سبب تلاش ڪري وٺندو. ايستائين جيڪڏهن جبلن کي لوڏيو وڃي ۽ زمين ڦاڙي ڇڏجي ۽ مُردن کي زنده ڪيو وڃي، تڏهن به ڪا شيءِ ماڻهوءَ کي اهو چوڻ کان روڪي نه ٿي سگهي ته هي ته جادو آهي.

ڪڏهن ته ائين به ٿيندو آهي جو انڪار ڪرڻ وارو بظاهر دليل گهرندو آهي، پر حقيقت ۾ اُهو مذاق ڪري رهيو هوندو آهي. هو اِهو ظاهر ڪرڻ چاهي ٿو ته اِهو ماڻهو جيڪا شيءِ پيش ڪري رهيو آهي، اُها حق نه آهي. جيڪڏهن اُهو حقيقت ۾ حق هجي ها ته ضرور اُن وٽ اهڙي دليل هجي ها جو سيئي ماڻهو اُن کي مڃڻ تي مجبور ٿي وڃن ها.

خدا ماڻهن کي مهلت ڏني آهي. ان ڪري ماڻهو بي خوف ٿي ويا آهن. پر جڏهن مهلت ختم ٿيندي ۽ خدا ماڻهن جي پڪڙ ڪندو ته پوءِ ماڻهو ڏسندو جو هُو ڪيتري قدر بي اختيار هو، جڏهن ته هو فرضي طور تي پاڻ کي خود مختيار سمجهندو رهيو.

اَفَمَنۡ هُوَ قَآئِمٌ عَلٰى كُلِّ نَفۡسٍۢ بِمَا كَسَبَتۡ ۚ وَ جَعَلُوۡا لِلّٰهِ شُرَكَآءَ ؕ قُلۡ سَمُّوۡهُمۡ ؕ اَمۡ تُنَبِّـُٔوۡنَهٗ بِمَا لَا يَعۡلَمُ فِى الۡاَرۡضِ اَمۡ بِظَاهِرٍ مِّنَ الۡقَوۡلِ ؕ بَلۡ زُيِّنَ لِلَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا مَكۡرُهُمۡ وَ صُدُّوۡا عَنِ السَّبِيۡلِ ؕ وَ مَنۡ يُّضۡلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنۡ هَادٍ ﴿۳۳﴾ لَهُمۡ عَذَابٌ فِى الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا وَ لَعَذَابُ الۡاٰخِرَةِ اَشَقُّ ۚ وَ مَا لَهُمۡ مِّنَ اللّٰهِ مِنۡ وَّاقٍ ﴿۳۴﴾

پوءِ ڇا جيڪو هر شخص کان اُن جي عمل جو حساب ڪرڻ وارو آهي ۽ ماڻهن الله جا شريڪ ٺهرائي ورتا آهن. چئُ ته انهن جو نالو وٺو. ڇا توهان الله کي اهڙي شيءِ جي خبر ڏئي رهيا آهيو، جنهن کي هو زمين ۾ نه ٿو ڄاڻي يا توهان ٺلهيون ڳالهيون ڪري رهيا آهيو. بلڪ انڪار ڪرڻ وارن کي سندن فريب خوشنما ڪري ڏيکاريو ويو آهي. ۽ ڪين رستي کان روڪيو ويو آهي. ۽ الله جنهن کي گمراهه ڪري، اُن کي ڪو راهه ٻڌائڻ وارو نه آهي. انهن لاءِ دنيا جي زندگي ۾ به عذاب آهي ۽ آخرت جو عذاب ته وڏو سخت آهي. ڪو انهن کي الله کان بچائڻ وارو نه آهي. ٣٣-٣٤

---

مطالعو ٻڌائي ٿو ته ڪائنات ۾ ريڪارڊنگ جو نظام آهي. ماڻهو جيڪو ڪجهه ڳالهائي ٿو يا جيڪو ڪجهه ڪندو آهي، اُهو ڪائناتي انتظام جي تحت فوراً ريڪارڊ ٿي ويندو آهي. اهڙي حالت ۾

هِن ڪائنات جو خدا ڪنهن اِهڙي هستي کي ئي مڃي سگهجي ٿو جنهن جي اندر ”ٻڌڻ“ ۽ ”ڏسڻ“ جي طاقت هجي. پر انسانن اڄ تائين جيترا شريڪ فرض ڪيا آهن، سڀ جا سڀ اُهي آهن جن جي اندر نه ٻڌڻ جي طاقت آهي ۽ نه ڏسڻ جي. اِهڙي حالت ۾ ڪيئن اُهي موجوده ڪائنات جهڙي دنيا جا خالق ۽ مالڪ ٿي سگهن ٿا. جيڪو پاڻ نه ٻڌي سگهي اُهو پنهنجي مخلوق ۾ ٻڌڻ جو مادو ڪهڙي طرح پيدا ڪندو جيڪو پاڻ نه ڏسي سگهي اُهو ٻين شين کي ڏسڻ جي قابل ڪيئن بڻائيندو.

اِهڙي طرح ڪائنات ۾ ايتري گهڻي وحدت آهي جو هو ڪهڙي به طرح شرڪ کي قبول نه ٿي ڪري، جنهن به شريڪ جو نالو ورتو وڃي ڪائنات پوري وجود سان اُن کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندي.

انڪار ڪرڻ وارن جي لاءِ سندن مڪر خوشنما بڻايو ويو آهي. هِتي مڪر مان مراد اُنهن جو ”قول“ آهي جنهن جو ذڪر اُن آيت ۾ مٿي موجود آهي. جڏهن به ماڻهو حق جو انڪار ڪندو آهي ته ان جو ذهن پنهنجي انڪار کي جائز ثابت ڪرڻ جي لاءِ ڪو قول گهڙي وٺندو آهي. اِهو قول جيتوڻيڪ بي حقيقت لفظن جي ذخيري ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نه هوندو آهي، پر جيڪي ماڻهو حق جي معاملي ۾ گهڻا سنجيده نه هجن، اُهي ڪجهه نه ڪجهه لفظ ڳالهائي سمجهي وٺندا آهن ته انهن پنهنجي انڪار کي حق بجانب ثابت ڪري ڇڏيو آهي. چاهي سندن ڳالهايل لفظ سندن ذهن کان ٻاهر ڪا قيمت نه رکندا هجن.

اِهڙي قسم جا ڪوڙا لفظ ڪنهن ماڻهو کي رڳو موجوده دنيا ۾ سهارو ڏئي سگهن ٿا. آخرت ۾ جڏهن هر شيءِ جي حقيقت کُلندي ته اُهي خوشنما لفظ ايترا بي حقيقت ۽ بي وزن ٿي ويندا جو ماڻهو انهن کي ڳالهائيندي به شرم محسوس ڪندو.

مَثَلُ الۡجَنَّةِ الَّتِیۡ وُعِدَ الۡمُتَّقُوۡنَ ؕ تَجۡرِیۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ ؕ اُكُلُهَا دَآئِمٌ وَّ ظِلُّهَا ؕ تِلۡكَ عُقۡبَی الَّذِیۡنَ اتَّقَوۡا ٭ۖ وَّ عُقۡبَی الۡكٰفِرِیۡنَ النَّارُ ﴿۳۵﴾

۽ جنت جو مثال جنهن جو متقين سان وعدو ڪيو ويو آهي، اِهو آهي ته اُن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون. ان جا ميوا ۽ ڇانوَ هميشه لاءِ هوندا. اِهو انجام انهن ماڻهن جو آهي جيڪي خدا کان ڊڄن ۽ منڪرن جو انجام باهه آهي. ۳۵

---

جنت جي قيمت تقويٰ آهي. يعني الله جي عظمت جو ايترو شديد احساس جيڪو ڊپ بڻجي ماڻهو جي دل ۾ سمائجي وڃي. جيڪي ماڻهو دنيا ۾ خدا کان ڊڄن اُهي ئي ماڻهو آهن جيڪي آخرت جي انهن گهرن ۾ وسايا ويندا جتي ماڻهو جي لاءِ ڪنهن به قسم جو ڊپ نه هوندو. جنهن جي چئني پاسي سرسبز باغ ان جي عظمت ۽ شان کي وڌائي رهيا هوندا.

ان جي ابتڙ حال انهن ماڻهن جو آهي جيڪي دنيا ۾ بي خوف بڻجي رهن. هو آخرت ۾ پنهنجي پاڻ کي باهه جي دنيا ۾ لهندا.

وَ الَّذِیۡنَ اٰتَیۡنٰهُمُ الۡكِتٰبَ یَفۡرَحُوۡنَ بِمَاۤ اُنۡزِلَ اِلَیۡكَ وَ مِنَ الۡاَحۡزَابِ مَنۡ یُّنۡكِرُ بَعۡضَهٗ ؕ قُلۡ اِنَّمَاۤ اُمِرۡتُ اَنۡ اَعۡبُدَ اللّٰهَ وَ لَاۤ اُشۡرِكَ بِهٖ ؕ اِلَیۡهِ اَدۡعُوۡا وَ اِلَیۡهِ مَاٰبِ ﴿۳۶﴾ وَ

كَذٰلِكَ اَنۡزَلۡنٰهُ حُكۡمًا عَرَبِيًّا ؕ وَ لَئِنِ اتَّبَعۡتَ اَهۡوَآءَهُمۡ بَعۡدَ مَا جَآءَكَ مِنَ الۡعِلۡمِ ۙ مَا
ع لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنۡ وَّلِيٍّ وَّ لَا وَاقٍ ﴿٣٧﴾
١١

۽ جن ماڻهن کي اسان ڪتاب ڏنو هو، اُهي ان شيءِ تي خوش آهن جيڪو توتي نازل ڪيو ويو آهي. ۽ انهن جماعتن ۾ اهڙا به آهن جيڪي ان جي ڪجھ حصي جو انڪار ڪندا آهن، چئُ ته مون کي حڪم ڏنو ويو آهي ته آئون الله جي عبادت ڪريان ۽ ڪنهن کي ان جو شريڪ نه ڪريان. آئون اُن ڏانهن ئي سڏيان ٿو ۽ اُن ڏانهن ئي منهنجو موٽڻ آهي ۽ اهڙي طرح اسان ان کي هڪ حڪم جي حيثيت سان عربي ۾ نازل ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن تو انهن جي خواهشن جي پيروي ڪئي ان ڪانپوءِ جو تو وٽ علم اچي چڪو آهي ته خدا جي مقابلي ۾ تنهنجو نه ڪو مددگار هوندو ۽ نه ڪو بچائڻ وارو. ٣٦-٣٧

---

قرآن آيو ته يهودين ۽ نصارن ۾ به جماعتون ٿي ويون. انهن ۾ جيڪي ماڻهو الله کان ڊڄڻ وارا هئا ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ حضرت عيسيٰ عليه السلام جي سچي تعليم تي قائم هئا، انهن قرآن کي پنهنجي دل جو آواز سمجهيو ۽ خوش ٿي ان کي قبول ڪري ورتو. پر جيڪي ماڻهو تعصب ۽ گروهه بندي کي دين سمجهندا هئا، اُهي پنهنجي مانوس دائري کان ٻاهر اچڻ واري سچائي کي سڃاڻي نه سگهيا ۽ ان جا مخالف بڻجي بيهي رهيا. الله کان سندن بي خوفي، حق جي دعوت جي مخالفت ۾ به انهن کي بي خوف بڻائي ڇڏيو.

جيڪو ماڻهو تعصب ۽ گروهه بندي جي ڪري سچائي جو مخالف ٿيندو آهي، اُهو اصل ۾ خدا کي ڇڏي پنهنجن خواهشن تي هلندو آهي. اِهڙن ماڻهن جو لحاظ ڪندي حق جي دعوت ۾ ڪا تبديلي ڪرڻ داعي جي لاءِ جائز نه آهي. داعي جي لاءِ لازمي آهي ته هو پنهنجي قول ۽ فعل سان حق تي پوري طرح ثابت قدم رهي. اهڙن ماڻهن جي مقابلي ۾ ان کي ثابت قدمي جو ثبوت ڏيڻو آهي نه ورري مصلحت جو.

ماڻهوءَ جي سامهون سندس زبان ۾ حق جو علم اچي وڃي، ان جي باوجود هو خواهشن جي پيروي ڪري ته اِها بي حد سنگين ڳالهه آهي. ڇاڪاڻ ته اِهو اهڙو فعل آهي جو ماڻهو کي خدا جي مدد کان بلڪل محروم ڪري ڇڏيندو آهي.

وَ لَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا رُسُلًا مِّنۡ قَبۡلِكَ وَ جَعَلۡنَا لَهُمۡ اَزۡوَاجًا وَّ ذُرِّيَّةً ؕ وَ مَا كَانَ لِرَسُوۡلٍ اَنۡ يَّاۡتِيَ
بِاٰيَةٍ اِلَّا بِاِذۡنِ اللّٰهِ ؕ لِكُلِّ اَجَلٍ كِتَابٌ ﴿٣٨﴾ يَمۡحُوا اللّٰهُ مَا يَشَآءُ وَ يُثۡبِتُ ۚۖ وَ عِنۡدَهٗۤ اُمُّ الۡكِتٰبِ ﴿٣٩﴾

۽ اسان توکان اڳ ۾ ڪيترائي رسول موڪليا ۽ اسان انهن کي زالون ۽ اولاد عطا ڪيو ۽ ڪنهن رسول جي لاءِ اِهو ممڪن نه آهي ته هو الله جي حڪم کان سواءِ ڪا نشاني آڻي. هر هڪ واعدو لکيل آهي. الله جنهن کي چاهي مٽائيندو آهي ۽ جنهن کي چاهي باقي رکندو آهي. ۽ ان ئي وٽ آهي اصل ڪتاب. ٣٨-٣٩

---

خدا طرفان جيترا پيغمبر آيا، اُهي سڀ عام انسانن وانگر انسان هئا ۽ دنياوي تعلق رکندا هئا. پوءِ ڪهڙي وجھ آهي جو قومن ان جي باوجود پوئين پيغمبرن کي مڃيو ۽ پنهنجي وقت جي پيغمبر جو اُن ئي سبب جي ڪري انڪار ڪري ڇڏيو. ان جي وجھ اها آهي ته پوئين پيغمبر سان گڏ هڪ شيءِ

وڏيڪ شامل هئي جيڪا وقت جي پيغمبر کي حاصل نہ هئي. اِها وڏيڪ شيءِ تاريخ جي عظمت آهي. قومن تاريخي عظمت جي ڪري پوئين پيغمبرن کي مڃيو ۽ تاريخي عظمت نہ هجڻ جي ڪري وقت جي پيغمبر جو انڪار ڪري ڇڏيو.

انسان جي اِها ڪمزوري آهي جو هو حقيقت کي ان جي مجرد روپ ۾ ڏسي نہ ٿو سگهي. زنده پيغمبر سان حقيقت مجرد روپ ۾ هئي، ان ڪري انسان ان کي سڃاڻي نہ سگهيو. تاريخ جي پيغمبر سان ڪجھ وڏيڪ اهميتون بہ شامل ٿي چڪيون هيون، اُن ڪري انسان اُن کي سڃاڻي ورتو ۽ ان جو عقيدتمند بڻجي ويو.

”اُمّ الڪتاب“ مان مراد خدا جي اُها اصل تحرير آهي جيڪا خدا وٽ آهي ۽ جنهن ۾ هدايت جون اُهي سڀ اصولي ڳالهيون لکيل آهن جيڪي خدا کي انسان کان گهربل آهن. مختلف پيغمبرن تي جيڪي ڪتاب نازل ٿيل آهن، اُهي سڀ ان ئي اُمّ الڪتاب مان آهن. خدا پنهنجو اِهو ڪتاب ڪڏهن هڪ زبان ۾ نازل ڪيو ۽ ڪڏهن ٻي زبان ۾. ڪڏهن ان جي لاءِ مثال جو نمونو اختيار ڪيو ويو ۽ ڪڏهن ان کي براهِ راست طريقي ۾ بيان ڪيو ويو. ڪڏهن نازل ٿيڻ کان پوءِ ان جي حفاظت جي ذميداري انسانن تي وڌي وئي ۽ ڪڏهن ان جي حفاظت جي ذميداري خود خدا وٽ ڇڏي.

وَ اِنۡ مَّا نُرِيَنَّكَ بَعۡضَ الَّذِيۡ نَعِدُهُمۡ اَوۡ نَتَوَفَّيَنَّكَ فَاِنَّمَا عَلَيۡكَ الۡبَلٰغُ وَ عَلَيۡنَا الۡحِسَابُ ﴿٤٠﴾ اَوَ لَمۡ يَرَوۡا اَنَّا نَاۡتِي الۡاَرۡضَ نَنۡقُصُهَا مِنۡ اَطۡرَافِهَا ؕ وَ اللّٰهُ يَحۡكُمُ لَا مُعَقِّبَ لِحُكۡمِهٖ ؕ وَ هُوَ سَرِيۡعُ الۡحِسَابِ ﴿٤١﴾ وَ قَدۡ مَكَرَ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ فَلِلّٰهِ الۡمَكۡرُ جَمِيۡعًا ؕ يَعۡلَمُ مَا تَكۡسِبُ كُلُّ نَفۡسٍ ؕ وَ سَيَعۡلَمُ الۡكُفّٰرُ لِمَنۡ عُقۡبَى الدَّارِ ﴿٤٢﴾

۽ جنهن جو اسان انهن سان واعدو ڪري رهيا آهيون ان جو ڪجھ حصو اسان توکي ڏيکاري ڇڏيون يا اسان توکي وفات ڏئي ڇڏيون، بس توتي صرف پهچائي ڇڏڻ آهي ۽ اسان تي حساب وٺڻ آهي. ڇا اُهي نہ ٿا ڏسن تہ اسان زمين کي سندس چوڌاري گهٽائيندا پيا اچون. ۽ الله فيصلو ڪندو آهي، پوءِ ان جي فيصلي کي ڪو روڪڻ وارو نہ آهي ۽ هُو جلد حساب وٺڻ وارو آهي. جيڪي انهن کان اڳ ۾ هئا انهن بہ تدبيرون ڪيون، پر سڀئي تدبيرون الله جي اختيار ۾ آهن. هو ڄاڻي ٿو تہ هر هڪ ڇا ڪري رهيو آهي ۽ انڪار ڪرڻ وارا جلد ڄاڻي وٺندا تہ آخرت جو گهر ڪنهن جي لاءِ آهي. ٤٠-٤٢

---

خدا جي دين کي اختيار نہ ڪرڻ جو انجام عام طور تي آخرت ۾ سامهون ايندو. پر پيغمبر جا مخاطب جيڪڏهن پيغمبر جي دعوت جو انڪار ڪري ڇڏين تہ ان جو برو انجام سندن لاءِ موجوده دنيا ئي ۾ شروع ٿي ويندو آهي.

جيئن تہ هِن دنياوي انجام جو ڪو هڪ اصول نہ آهي. اِهو مختلف پيغمبرن جي زماني ۾ مختلف صورتن ۾ ظاهر ٿيندو رهيو آهي. پيغمبر آخرالزمان ﷺ جي لاءِ خاص مصلحتن جي ڪري خدا جو اِهو فيصلو اُن شڪل ۾ ظاهر ٿيو تہ پيغمبر جي مڃڻ وارن کي پيغمبر جي انڪار ڪرڻ وارن تي غلبو ڏنو ويو.

مڪي دور جي آخري زماني ۾ جڏهن مڪي جي سردارن پاڻ ﷺ جو انڪار ڪري ڇڏيو هو تہ ان ئي وقت ائين ٿي رهيو هو تہ اسلام جي دعوت آهستي آهستي مديني ۾ ۽ مڪي جي ٻاهر قبيلن ۾ ڦهلجي

رهي هئي. جڏهن اسلام جي دعوتي قوت مڪي جي چئني پاسن کي فتح ڪندي مڪي ڏانهن وڌي رهي هئي. پيغمبر آخر الزمان ﷺ جي لاءِ خدا جي سنت دعوت جي ذريعي فتح جي صورت ۾ ظاهر ٿي هئي.

هِتي دعوتي تدبير کي ”خدائي تدبير“ چيو ويو آهي. ان مان ان جي اهميت جو اندازو ٿيندو آهي. قريش جڏهن پاڻ ﷺ کي مڪي مان ڪڍيو ته انهن هِي سمجهيو ته انهن پاڻ ﷺ جو خاتمو ڪري ڇڏيو. ان وقت پاڻ ﷺ هڪ اهڙا شخص هئا جنهن جي معيشت برباد ٿي چڪي هئي. جنهن کي خود پنهنجي قبيلي جي حمايت کان محروم ڪيو ويو هو.

قريش اِهو سڀ ڪجهه ڪري پنهنجي طور تي خوش هئا، اُهي سمجهي رهيا هئا ته انهن پيغمبر جي ”مسئلي“ کي هميشه لاءِ دفن ڪري ڇڏيو آهي. پر هو اُن راز کي سمجهي نه سگهيا ته داعي جو سيني کان وڌو هٿيار دعوت آهي ۽ هِي اُها شيءِ آهي جنهن کي ڪو ماڻهو ڪڏهن به داعي کان ڪسي نه ٿو سگهي. داعي جون پيون محروميون اُن جي دعوت جي زور کي اڃا وڌائي ڇڏينديون آهن، اُهي ڪنهن به طرح اُن کي گهٽ نه ٿيون ڪن. تنهن ڪري جڏهن قريش پنهنجي خيال مطابق پيغمبر کان اُن جو سڀ ڪجهه کسي چڪا هئا، اُن وقت ان جي دعوت چئني پاسي عرب جي قبيلن ۾ ڦهلجي رهي هئي ۽ ماڻهن جي دلين کي فتح ڪري رهي هئي. اِهو عمل خاموشي سان مسلسل جاري هو ۽ مڪي جي فتح جڏهن ته اُن ئي عمل جو آخري انجام هو. مڪي وارن جن ماڻهن کي ”ڏهه سؤ“ سمجهي گهر کان بي گهر ڪيو هو. اُهي صرف ڪجهه سالن ۾ ”ڏهه هزار“ بڻجي وري مڪي ڏانهن اهڙي طرح واپس آيا ته مڪي وارن کي اِها همت به نه ٿي جو انهن کي مڪي ۾ داخل ٿيڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪن.

حق جي دعوت سان جن ماڻهن جي مفادن تي چوٽ پوندي آهي، هُو اُن کي شڪست ڏيڻ جي لاءِ ان جي خلاف تدبيرون ڪندا آهن. پر سڀئي تدبيرون خدا جي هٿ ۾ آهن. هو هر هڪ تي پورو اختيار رکي ٿو. خدا جي هِن برتر حيثيت جو ابتدائي ظهور موجوده دنيا ۾ ٿي رهيو آهي. اُن جو ڪامل ۽ انتهائي ظهور آخرت ۾ ٿيندو. جڏهن ته انڌا به ان کي ڏسي وٺندا ۽ ٻوڙا به ان کي ٻڌڻ لڳندا.

وَ يَقُوۡلُ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لَسۡتَ مُرۡسَلًا ؕ قُلۡ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيۡدًۢا بَيۡنِىۡ وَ بَيۡنَكُمۡ ۙ وَ مَنۡ
١٢ عِنۡدَهٗ عِلۡمُ الۡكِتٰبِ ﴿٤٣﴾

۽ منڪر چون ٿا ته تون الله جو موڪليل نه آهين. چؤ ته منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ الله جي گواهي ڪافي آهي. ۽ ان جي گواهي جنهن وٽ ڪتاب جو علم آهي. ٤٣

---

ظاهر پرست ماڻهو جنهن وقت حق جي داعي ۾ نشانيون نه ڏسي ان جي صداقت جي باري ۾ شڪ ڪري رهيا هوندا آهن، اُن ئي وقت علمي نشانيون پوري طرح ان جي تصديق جي لاءِ موجود هونديون آهن. سچائي پنهنجو دليل پاڻ آهي. پر ان کي محسوس ڪرڻ صرف ان ماڻهو جي لاءِ ممڪن آهي جيڪو ظاهر کان گذري حقيقتن کي ڏسڻ جي نگاهه پنهنجي اندر پيدا ڪري چڪو هجي. نه ته جن ماڻهن جون نگاهون ظاهر ۾ اٽڪيل هجن، اُهي حق کي بي دليل سمجهي ان جو انڪار ڪري ڇڏيندا، حالانڪ ان وقت دليلن جو ڍير ان جي تصديق جي لاءِ انهن جي ويجهو ئي موجود هوندو.

آياتها ٥٢ (١٤) سُوۡرَةُ اِبۡرٰهِيۡمَ مَكِّيَّةٌ (٧٢) رکوعاتها ٧

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الٓرٰ ۟ كِتٰبٌ اَنۡزَلۡنٰهُ اِلَيۡكَ لِتُخۡرِجَ النَّاسَ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوۡرِ ۙ بِاِذۡنِ رَبِّهِمۡ اِلٰى
صِرَاطِ الۡعَزِيۡزِ الۡحَمِيۡدِ ۙ﴿۱﴾ اللّٰهِ الَّذِىۡ لَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِى الۡاَرۡضِ ؕ وَ وَيۡلٌ
لِّلۡكٰفِرِيۡنَ مِنۡ عَذَابٍ شَدِيۡدِ ۙ﴿۲﴾ اۨلَّذِيۡنَ يَسۡتَحِبُّوۡنَ الۡحَيٰوةَ الدُّنۡيَا عَلَى الۡاٰخِرَةِ وَ
يَصُدُّوۡنَ عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ وَ يَبۡغُوۡنَهَا عِوَجًا ؕ اُولٰٓـئِكَ فِىۡ ضَلٰلٍۢ بَعِيۡدٍ ﴿۳﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

الف-لام-را. هِي ڪتاب آهي جنهن کي اسان توڏانهن نازل ڪيو آهي تہ جيئن تون ماڻهن کي اونداهين مان ڪيڍي روشني ڏانهن آڻين، سندن رب جي حڪم سان غالب ۽ واکاڻيل جي رستي ڏانهن. اُن الله ڏانهن جنهن جو اُهو سڀ آهي جيڪو آسمانن ۽ زمين ۾ آهي ۽ منڪرن جي لاءِ هڪ سخت عذاب جي تباهي آهي جيڪي آخرت جي مقابلي ۾ دنيا جي زندگي کي پسند ڪن ٿا ۽ الله جي رستي کان روڪين ٿا ۽ ان ۾ ڏنگائي ڳولين ٿا. اِهي ماڻهو رستي کان ڀٽڪي پري وڃي پيا. ١-٣

---

ايمان اِهو آهي تہ ماڻهو خدا کي هڪ اِهڙي هستي جي حيثيت سان ڳولي لهي جيڪو سڀني طاقتن جو مالڪ آهي ۽ سڀني خوبين وارو آهي. اِهڙو واقعو ڪنهن ماڻهو جي لاءِ رڳو هڪ رسمي عقيدو نہ هوندو آهي، بلڪ اِهو ڪنهن ماڻهو جو بي علمي جي اونداهين مان نڪري علم جي روشني ۾ اچڻ آهي. اِهو غيب جي پردي مان گذري شهود جي جلوي کي ڏسي وٺڻ آهي. اِهو دنيا ۾ رهندي آخرت جو ادراڪ ڪرڻ آهي. ايمان حقيقت جي لحاظ کان هڪ شعوري دريافت آهي نہ وري لفظن جي بي روح تڪرار جو نالو. خدا جو ڪتاب ان ڪري ايندو آهي تہ ماڻهو کي ان شعور جي درجي تي پهچائي ڇڏي.

الله جي حڪم سان هدايت جو ملڻ بظاهر هدايت جي معاملي کي الله ڏانهن منسوب ڪرڻ آهي، پر ان ارشاد جو رخ حقيقت ۾ خود انسان ڏانهن آهي. "اِذن" يا حڪم مان مراد خدا جو اُهو مقرر قانون آهي جيڪو هُن انسان جي هدايت ۽ گمراهي جي لاءِ مقرر ڪيو آهي. ان قانون مطابق ماڻهو جي پنهنجي سنجيده طلب واحد شرط آهي جيڪا ان کي هدايت تائين پهچائي ٿي. هن دنيا ۾جنهن ماڻهو کي هدايت ملي ٿي، اُها رڳو ڪنهن داعي جي دعوت واري ڪوشش سان نہ ٿي ملي، پر خدا جي قانون تحت ملندي آهي ۽ خدا جو قانون اِهو آهي تہ هدايت جي نعمت کي صرف اُهو شخص حاصل ڪندو جيڪو هدايت جو طالب هجي. ذاتي طلب جي بغير ڪنهن کي بہ هدايت نہ ٿي ملي سگهي.

هدايت جي رستي کي خدا انتهائي حد تائين صاف ۽ روشن بڻايو آهي. زمين ۽ آسمان ۾ ان جون نشانيون پکڙيل آهن. خدا جو ڪتاب ان جي حق ۾ ناقابل انڪار دليل پيش ڪري ٿو. انساني

فطرت ان جي صداقت تي گواهي ڏئي رهي آهي. جڻ تہ اِهي سيئي شيون ان جي حق ۾ جمع ڪيون ويون آهن. اهڙي حالت ۾ جيڪي ماڻهو هدايت جي رستي کي اختيار نہ ڪن، اُهي يقيني طور تي دنياوي مفاد جي ڪري ائين ڪري رهيا آهن نہ وري ڪنهن حقيقي سبب جي ڪري. جيتوڻيڪ اِهڙا ماڻهو پنهنجي طريقي کي درست ثابت ڪرڻ جي لاءِ ڪجهه "دليل" بہ پيش ڪندا آهن، پر اِهي دليل رڳو سڌي ڳالهہ ۾ ڏنگائي ڪيڻ جا نتيجا هوندا آهن. اُهي رڳو اُن لاءِ هوندا آهن تہ ماڻهن جي نظر ۾ پنهنجي انڪار جو جواز پيش ڪن.

اِهڙي حالت ۾ هدايت کان محروم رڳو اُهو ئي ماڻهو رهي سگهي ٿو جنهن جي مفاد پرستي ۽ دنيا سان محبت ان کي بلڪل انڌو ۽ ٻوڙو بڻائي ڇڏيو هجي.

وَ مَآ اَرْسَلْنَا مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا بِلِسَانِ قَوْمِهٖ لِيُبَيِّنَ لَهُمْ ؕ فَيُضِلُّ اللّٰهُ مَنْ يَّشَآءُ وَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٤﴾

۽ اسان جيڪو بہ پيغمبر موڪليو سندس قوم جي ٻولي ۾ موڪليو تہ جيئن هو انهن کي سمجهائي سگهي، پوءِ الله جنهن کي چاهي ٿو ڀٽڪائي ڇڏيندو آهي ۽ جنهن کي چاهي ٿو هدايت ڏي ٿو. اُهو زبردست آهي، حڪمت وارو آهي. ٤

---

خدا جو طريقو اِهو آهي تہ هو پيغمبرن کي سندن قوم منجهان اتاريندو آهي. تہ جيئن هو ماڻهن جي نفسيات جو لحاظ ڪندي کين سندن زبان ۾ حق ڏانهن سڏين. پر عجيب ڳالهہ آهي تہ جيڪا شيءِ انسان جي بهتري جي لاءِ ڪئي وئي هئي، اُن مان انسان اُلٽو نتيجو ڪڍيو. انهن جڏهن ڏٺو تہ پيغمبر انهن وانگر هڪ ماڻهو آهي ۽ انهن جي زبان ۾ ڪلام ڪري رهيو آهي تہ انهن پيغمبر کي معمولي سمجهي ان جو انڪار ڪري ڇڏيو. جيڪا شيءِ سندن هدايت کي آسان بڻائڻ جي لاءِ ڪئي وئي هئي، ان کي انهن پنهنجي گمراهي جو ذريعو بڻائي ڇڏيو.

خدا ائين نہ ٿو ڪري جو ماڻهن کي پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪرڻ جي لاءِ ڪا تعجب ۾ وجهندڙ شيءِ ڏيکاري. هو ڪنهن قوم وٽ اهڙو پيغمبر موڪلي جيڪو زبان يا طلسماتي اسلوب ۾ ڳالهائي ماڻهن کي تعجب ۽ حيراني ۾ وجهي ڇڏي. خدا ماڻهن کي تعجب ۾ وجهڻ خاطر ڪرشما ڏيکارڻ جو انداز اختيار نہ ٿو ڪري. خدا جو طريقو سادگي ۽ حقيقت پسندي جو طريقو آهي. خدا پنهنجي دنيا کي حقيقت جي بنياد تي قائم ڪيو آهي ۽ انسان جي هدايت جي طريقي کي بہ هو حقيقت جي بنياد تي هلائيندو آهي نہ وري طلسم جي بنياد تي.

وَ لَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى بِاٰيٰتِنَآ اَنْ اَخْرِجْ قَوْمَكَ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۙ وَ ذَكِّرْهُمْ بِاَيّٰىمِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ﴿٥﴾

۽ اسان موسيٰ کي پنهنجن نشانين سان موڪليو تہ پنهنجي قوم کي اونداهين مان ڪڍي روشني ۾ آڻ ۽ انهن کي الله وارا ڏينهن ياد ڏيار. بيشڪ ان جي اندر وڏيون نشانيون آهن هر اُن ماڻهو جي لاءِ جيڪو صبر ۽ شڪر ڪرڻ وارو هجي. ٥

---

”آيات الله“ مان مراد ڪائنات جون اُهي نشانيون آهن جيڪي خدا جي ڳالهه کي برحق ثابت ڪنديون آهن. ”ايام الله“ مان مراد تاريخ جا اُهي يادگار واقعا آهن، جڏهن خدا جو فيصلو ظاهر ٿيو ۽ خدا جي خصوصي مدد سان حق باطل مٿان فتح حاصل ڪئي. هڪڙو جيڪڏهن ڪائناتي دليل آهي ته ٻيو تاريخي دليل.

پر عجيب ڳالهه آهي ته اِهي ٻئي شيون اسان جي دنيا ۾ سڀني کان وڌيڪ ناياب بڻجي ويون آهن. آيات الله کي غلط تشريح ۽ تعبير جي پردي ۾ لڪايو ويو آهي ۽ ايام الله جو اِهو حال آهي ته تاريخ لکڻ جو ڪم جن ماڻهن جي هٿ ۾ هو انهن ايام الانسان ته چڱي طرح لکيا، پر ايام الله جو انهن پنهنجن ڪتابن ۾ ذڪر ئي نه ڪيو.

اهڙي حالت ۾ ڪنهن خدا جي ٻانهي جي لاءِ باطل جي اونداهين مان نڪرڻ جي صورت صرف اِها آهي ته هو صبر ۽ شڪر جو ثبوت ڏي.

حق جي اعتراض جي واحد قيمت پنهنجي نفي آهي. حق کي پائڻ لاءِ پنهنجي پاڻ کي وڃائڻو پوندو آهي ۽ اِها شيءِ صبر جي بغير ڪنهن کي حاصل نه ٿيندي آهي. پوءِ حق جو ادراڪ ماڻهو کي ٻڌائيندو آهي ته هِن ڪائنات ۾ جيڪا تقسيم آهي، اُها ڏيڻ ۽ وٺڻ واري آهي، يعني خدا ڏيڻ وارو آهي ۽ انسان وٺڻ وارو. هِن حقيقت جي دريافت ڪان پوءِ ماڻهو جي اندر جيڪو صحيح جذبو پيدا ٿيڻ گهرجي، ان جو نالو ئي شڪر آهي. جڻ حقيقت تائين پهچڻ جي لاءِ ماڻهو کي صبر جو ثبوت ڏيڻو پوي ٿو ۽ حقيقت کي پنهنجي اندر آڻڻ جي لاءِ شڪر جو.

وَ اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهِ اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ اَنْجٰىكُمْ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ
يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ وَ يُذَبِّحُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ وَ يَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ ؕ وَ فِيْ ذٰلِكُمْ
ع بَلَآءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ۟ؔ ۶ وَ اِذْ تَاَذَّنَ رَبُّكُمْ لَىِٕنْ شَكَرْتُمْ لَاَزِيْدَنَّكُمْ وَ لَىِٕنْ كَفَرْتُمْ
۱۳ اِنَّ عَذَابِيْ لَشَدِيْدٌ ۟ ۷ وَ قَالَ مُوْسٰۤى اِنْ تَكْفُرُوْۤا اَنْتُمْ وَ مَنْ فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ۙ فَاِنَّ
اللّٰهَ لَغَنِيٌّ حَمِيْدٌ ۟ ۸

۽ جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو ته پاڻ تي الله جي ان انعام کي ياد ڪريو، جڏهن اُن توهان کي فرعون جي قوم کان نجات ڏياري جيڪي توهان کي سخت تڪليفون ڏيندا هئا ۽ هُو توهان جي پٽن کي ماري ڇڏيندا هئا ۽ توهان جي عورتن کي زنده رکندا هئا ۽ ان ۾ توهان جي رب طرفان وڏي آزمائش هئي ۽ جڏهن توهان جي رب توهان کي آگاهه ڪيو ته جيڪڏهن توهان شڪر ڪندؤ ته آئون توهان کي وڌيڪ ڏيندس. ۽ جيڪڏهن توهان ناشڪري ڪندؤ ته منهنجو عذاب وڏو سخت آهي. ۽ موسيٰ چيو ته جيڪڏهن توهان انڪار ڪريو ۽ زمين جا سڀئي ماڻهو به منڪر ٿي وڃن، ته الله بي پرواهه آهي، خوبين وارو آهي. ٦-٨

---

هِنن آيتن ۾ حضرت موسيٰؑ جي جنهن تقرير جو حوالو آهي، اُها گهڻو ڪري پاڻؑ جي اُها تقرير آهي جيڪا پاڻؑ پنهنجي وفات کان ڪجهه ڏينهن پهرين سينا جي رڻ ۾ بني اسرائيل جي

سامهون ڪئي هئي. اِها تقرير موجوده بائيبل (ڪتاب استثناءِ) ۾ تفصيل سان موجود آهي.

حضرت موسيٰ عليه السلام جي اُن تقرير جو خلاصو هِي آهي ته جيڪڏهن توهان دنيا ۾ خدا وارا بڻجي رهو ۽ خدا جي واڪاڻ ڪريو ته دنيا جون سڀئي شيون توهان جو ساٿ ڏينديون. سڀني قومن تي توهان جو رعب قائم ٿيندو. خدا توهان جي دشمنن کي شڪست ڏيندو. ايستائين جو جيڪڏهن درياءَ توهان جي رستي ۾ رڪاوٽ بڻجي ته خدا حڪم ڏيندو ۽ درياءُ ڦاٽي توهان کي رستو ڏئي ڇڏيندو. جڏهن ته ان ئي ساڳي دريا ۾ توهان جا دشمن غرق ٿي ويندا.

اُن جي ابتڙ جيڪڏهن توهان ائين نه ڪندؤ ته توهان خدا جي نظر ۾ لعنتي ٿيندو. يعني توهان خدا جي رحمتن کان پري ٿي ويندو. توهان جي محنت جي پيداوار ٻيا ماڻهو کائيندا. توهان جا سڀ ڪم بگڙي ويندا. توهان فڪري ۽ عملي لحاظ کان ٻين قومن جا محتاج ٿي ويندؤ.

خدا جو اِهو قانون معروف معنيٰ ۾ صرف ”يهودين“ جي لاءِ نه آهي، پر آسماني ڪتاب واري قوم جي لاءِ آهي. جيڪا قوم به آسماني ڪتاب رکندڙ هجي، ان سان خدا جو اِهوئي معاملو آهي، چاهي اُها ماضي جي آسماني ڪتاب رکندڙ قوم هجي يا حال جي آسماني ڪتاب رکندڙ قوم.

اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَبَؤُا الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ قَوْمِ نُوْحٍ وَّ عَادٍ وَّ ثَمُوْدَ ۬ وَ الَّذِيْنَ مِنْ بَعْدِهِمْ ۛ
لَا يَعْلَمُهُمْ اِلَّا اللّٰهُ ؕ جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَرَدُّوْۤا اَيْدِيَهُمْ فِيْۤ اَفْوَاهِهِمْ وَ قَالُوْۤا
اِنَّا كَفَرْنَا بِمَاۤ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ وَ اِنَّا لَفِيْ شَكٍّ مِّمَّا تَدْعُوْنَنَاۤ اِلَيْهِ مُرِيْبٍ ۝٩

ڇا توهان کي انهن ماڻهن جي خبر نه پهتي آهي جيڪي توهان کان اڳ ۾ گذري چڪا آهن. نوح جي قوم ۽ عاد ۽ ثمود ۽ جيڪي ماڻهو انهن کان پوءِ هئا جن کي الله کانسواءِ ڪو به نه ٿو ڄاڻي. سندن پيغمبر انهن وٽ دليل کڻي آيا ته انهن پنهنجا هٿ پنهنجن واتن ۾ ورايا ۽ چيائون ته جيڪو توهان کي ڏئي موڪليو ويو آهي، اسان ان کي نه ٿا مڃون ۽ جنهن شيءِ ڏانهن توهان اسان کي سڏيو ٿا، اسان اُن جي باري ۾ سخت شڪ ۾ پيل آهيون.٩

---

خدا جا جيترا رسول مختلف قومن ۾ آيا، سڀني سان هڪ ئي قصو پيش آيو. هر قوم پنهنجن پيغمبرن جي مخالفت ڪئي. هر جاءِ تي انهن جو منهن بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

ان جو ڪهڙو سبب هو، ان جو سبب سندن ”شڪ“ هو. اِهو شڪ ان ڪري هو ته انهن جي سامهون هڪ پاسي سندن اباڻو دين هو، جنهن سان انهن جي بزرگن ۽ وڏين هستين جا نالا هئا. ٻئي پاسي پيغمبر جو دين هو جيڪو بظاهر هڪ معمولي انسان جي ذريعي پيش ڪيو پئي ويو. دليل جو زور پيغمبر جي دين سان گڏ نظر ايندو هو، پر تاريخي عظمت ۽ عوامي اڪثريت اباڻي دين سان گڏ ڏسڻ ۾ ايندي هئي. پيغمبر جي مخاطبن جو اِهو حال ٿيو جو هو دليلن کي رد ڪرڻ جي طاقت نه رکندا هئا. ۽ اِهو به انهن جي سمجهه ۾ نه ايندو هو ته بزرگن کي ڪهڙي طرح غلط سمجهي وٺن. هِن ٻه طرفي صورتحال انهن کي شڪ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. عملاً جيتوڻيڪ هُو ابن ڏاڏن جي دين سان وابسته رهيا، پر پنهنجي دل ۽ دماغ کي شڪ کان آزاد به نه ڪري سگهيا.

قَالَتۡ رُسُلُهُمۡ اَفِی اللّٰهِ شَكٌّ فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ ؕ یَدۡعُوۡكُمۡ لِیَغۡفِرَ لَكُمۡ مِّنۡ
ذُنُوۡبِكُمۡ وَ یُؤَخِّرَكُمۡ اِلٰۤی اَجَلٍ مُّسَمًّی ؕ قَالُوۡۤا اِنۡ اَنۡتُمۡ اِلَّا بَشَرٌ مِّثۡلُنَا ؕ تُرِیۡدُوۡنَ اَنۡ
تَصُدُّوۡنَا عَمَّا كَانَ یَعۡبُدُ اٰبَآؤُنَا فَاۡتُوۡنَا بِسُلۡطٰنٍ مُّبِیۡنٍ ﴿۱۰﴾

انهن جي پيغمبرن چيو ڇا الله جي باري ۾ شڪ آهي جيڪو آسمانن ۽ زمين کي وجود ۾ آڻڻ وارو آهي. هُو توهان کي سڏي رهيو آهي تہ توهان جا گناهہ معاف ڪري ڇڏي ۽ توهان کي هڪ مقرر مدت تائين مهلت ڏي. انهن چيو تہ توهان ان ڪانسواءِ ڪجهہ نہ آهيو، پر اسان جهڙا هڪ ماڻهو آهيو. توهان چاهيو ٿا تہ اسان کي انهن شين جي عبادت کان روڪيو جن جي عبادت اسان جا ابا ڏاڏا ڪندا هئا. توهان اسان جي سامهون ڪا واضح سند آڻيو. ١٠

---

هن آيت جو تعلق اصل ۾ قديم قومن سان آهي. پر قرآن جي هڪ خاصيت هِي آهي تہ ان ۾ خدا جي ابدي تعليم کي تاريخ جي سانچي ۾ رکي پيش ڪيو ويو آهي. ان ڪري قرآن ۾ اهڙا لفظ استعمال ڪيا ويندا آهن جن ۾ پهرين مخاطبن جي رعايت ڪندي پوءِ اچڻ وارن انسانن جي رعايت بہ پوري طرح شامل هجي.

هِن آيت ۾ ”فاطر“ جو لفظ ان جو ئي هڪ مثال آهي. فاطر جي لفظي معنيٰ آهي ”ڦاڙڻ وارو“. عام مفهوم جي لحاظ کان فاطر جو لفظ هِتي خالق جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو آهي. پر ان جو خالص لفظي ترجمو ڪيو وڃي تہ اُهو ٿيندو ”ڇا توهان کي خدا جي باري ۾ شڪ آهي جيڪو زمين ۽ آسمان کي ڦاڙڻ وارو آهي“.

لفظي ترجمي جي لحاظ کان هي آيت موجوده زماني ۾ خدا جي منڪرن جي لاءِ خدا جي وجود کي ثابت ڪري رهي آهي. جديد تحقيق ٻڌائي ٿي تہ زمين ۽ آسمان جو مادو ابتدا ۾ هڪ مڪمل گولي جي صورت ۾ هو، جنهن کي سپر ايٽم چيو ويندو آهي. فطرت جي قانون مطابق اُن جا سيئي جزا انتهائي شدت سان اندر طرف پاڻ ۾ جڙيل هئا. موجوده وسيع ڪائنات اُن ئي سپر ايٽم جي ڦاٽڻ سان وجود ۾ آئي. هِن آيت ۾ فاطر (ڦاڙڻ وارو) جو لفظ اُن ئي ڪائناتي واقعي ڏانهن اشارو ڪري رهيو آهي جيڪو هڪ خالق جي وجود جو قطعي ثبوت آهي. ڇاڪاڻ تہ سپر ايٽم جا جزا جيڪي مڪمل طور تي اندر طرف ڇڪيل هئا. انهن کي ٻاهرين طرف متحرڪ ڪرڻ خود بہ خود نہ ٿو ٿي سگهي. لازمي آهي تہ ان جي لاءِ ڪنهن ٻاهرين مداخلت کي مڃيو وڃي. ان ئي مداخلت ڪرڻ واري طاقت جو ٻيو نالو خدا آهي.

قَالَتۡ لَهُمۡ رُسُلُهُمۡ اِنۡ نَّحۡنُ اِلَّا بَشَرٌ مِّثۡلُكُمۡ وَ لٰكِنَّ اللّٰهَ یَمُنُّ عَلٰی مَنۡ یَّشَآءُ مِنۡ
عِبَادِهٖ ؕ وَ مَا كَانَ لَنَاۤ اَنۡ نَّاۡتِیَكُمۡ بِسُلۡطٰنٍ اِلَّا بِاِذۡنِ اللّٰهِ ؕ وَ عَلَی اللّٰهِ فَلۡیَتَوَكَّلِ
الۡمُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۱۱﴾ وَ مَا لَنَاۤ اَلَّا نَتَوَكَّلَ عَلَی اللّٰهِ وَ قَدۡ هَدٰىنَا سُبُلَنَا ؕ وَ لَنَصۡبِرَنَّ عَلٰی مَاۤ
ع ٢ ١٤ اٰذَیۡتُمُوۡنَا ؕ وَ عَلَی اللّٰهِ فَلۡیَتَوَكَّلِ الۡمُتَوَكِّلُوۡنَ ﴿۱۲﴾

انهن جي رسولن چيو اسان اُن ڪانسواءِ ڪجھ نہ آھيون، پر توھان جھڙا ئي انسان آھيون، پر الله پنهنجن ٻانهن مان جنهن تي چاهي ٿو پنهنجو انعام فرمائي ٿو. ۽ هِي اسان جي اختيار ۾ نہ آهي جو اسان توهان کي ڪو معجزو ڏيکاريون بغير خدا جي حڪم جي. ۽ ايمان وارن کي الله ئي تي ڀروسو ڪرڻ گهرجي. ۽ اسان ڇو نہ الله تي ڀروسو ڪريون، جڏهن تہ ان اسان کي اسان جي سڌن رستن جي هدايت ڪئي. ۽ جيڪا تڪليف توهان اسان کي ڏيندو، اسان اُن تي صبر ڪنداسون. ۽ ڀروسو ڪرڻ وارن کي الله ئي تي ڀروسو ڪرڻ گهرجي. ١١-١٢

---

پيغمبرن جي مخاطبن جڏهن پنهنجي وقت جي پيغمبرن کي اِهو چئي رد ڪري ڇڏيو تہ ”توهان تہ اسان جهڙا هڪ بشر آهيو“ تہ ان جي وجھ حقيقت ۾ اِها نہ هئي جو هو پيغمبري جي لاءِ غير بشر هئڻ کي ضروري سمجھندا هئا. ان جي وجھ اصل ۾ اُهو فرق هو جيڪو سندن پنهنجي تصور جي مطابق انهن کي اڳين پيغمبر ۽ وقت جي پيغمبر ۾ ڏسڻ ۾ ايندو هو.

اڳ ۾ گذري ويل پيغمبر بہ جيتوڻيڪ پنهنجي وقت ۾ اهڙوئي هو، جهڙو وقت جو پيغمبر. پر بعد جي دور ۾ گذري ويل پيغمبرن جي پيروي ڪرڻ وارن انهن سان طلسماتي قصن جو هڪڙو دائرو ٺاهي ڇڏيو هو. يعني بعد جي دور ۾ پيغمبرن جي شخصيتن کي اهڙو افسانوي رنگ ڏنو ويو جيڪو شروع ۾ انهن وٽ موجود نہ هو. هاڻي صورتحال اِها بڻجي وئي جو قومن جي سامهون هڪ پاسي فرضي ۽ طلسماتي پيغمبر هو ۽ ٻئي پاسي حقيقي واقعن وارو پيغمبر. هِن مقابلي ۾ اڳيون پيغمبر پيغمبري جي لاءِ معياري نمونو بڻجي ويو ۽ جڏهن قومن اُن معيار جي لحاظ کان ڏٺو تہ وقت جو حقيقي پيغمبر انهن کي ماضي جي افسانوي پيغمبر کان گهٽ نظر آيو. تنهن ڪري انهن کي ٻي حيثيت سمجهي نظر انداز ڪري ڇڏيو.

پيغمبرن پنهنجن مخاطبن کي چيو تہ توهان جي انهن ڳالهين جي جواب ۾ اسان وٽ صبر کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ آهي. توهان غير بشر جي سطح تي هدايت جا طالب آهيو ۽ خدا اسان کي رڳو بشر جي سطح تي هدايت ڏيڻ جي طاقت عطا ڪئي آهي. اهڙي حالت ۾ اسان ان ڪانسواءِ ٻيو ڇا ٿا ڪري سگهون جو توهان جي ايذائڻ کي برداشت ڪريون ۽ هِن سڄي معاملي کي خدا جي حوالي ڪري ڇڏيون.

وَ قَالَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لِرُسُلِهِمۡ لَنُخۡرِجَنَّكُمۡ مِّنۡ اَرۡضِنَاۤ اَوۡ لَتَعُوۡدُنَّ فِىۡ مِلَّتِنَا ؕ فَاَوۡحٰۤى اِلَيۡهِمۡ رَبُّهُمۡ لَنُهۡلِكَنَّ الظّٰلِمِيۡنَ ۙ﴿۱۳﴾ وَ لَنُسۡكِنَنَّكُمُ الۡاَرۡضَ مِنۡۢ بَعۡدِهِمۡ ؕ ذٰلِكَ لِمَنۡ خَافَ مَقَامِىۡ وَ خَافَ وَعِيۡدِ ﴿۱۴﴾

۽ انڪار ڪرڻ وارن پنهنجن پيغمبرن کي چيو تہ يا اسان توهان کي پنهنجي زمين مان ڪڍي ڇڏينداسون يا توهان کي اسان جي مذهب ۾ موٽي اچڻو پوندو. تڏهن پيغمبرن جي رب انهن ڏانهن وحي ڪيو تہ اسان انهن ظالمن کي هلاڪ ڪري ڇڏينداسون. ۽ ان ڪانپوءِ توهان کي زمين ۾ آباد ڪنداسون. اِهو ان ماڻهو جي لاءِ آهي جيڪو منهنجي سامهون بيهڻ کان ڊنو ۽ جيڪو منهنجي دڙڪي کان خوفزده ٿيو. ١٣-١٤

---

پيغمبرن جي دعوت سان سندن قومن جي دين تي چوٽ پوندي هئي. اُهي ماڻهو پنهنجن جن شخصيتن کي قوم جي بزرگن جو درجو ڏئي ويٺا هئا، پيغمبرن جي تجزيي ۾ اُهي بزرگ گهٽ نظر پئي

آيا. ان ڪري هو پيغمبرن سان بگڙي پيا. اُهي دليل سان ته انهن کي رد نه پئي ڪري سگهيا، پر وقت جي نظام ۾ انهن کي هر قسم جو اختيار حاصل هو. تنهن ڪري انهن جي تڪبر واري نفسيات انهن کي پڙڪايو ته پيغمبر کي بي گهر ۽ بي زمين ڪيو وڃي. جنهن شيءِ جو توڙ انهن وٽ دليل جي زبان ۾ نه هو، ان جو توڙ انهن طاقت جي ذريعي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

جيڪا زمين ماڻهو وٽ آهي، اُها ان وٽ امتحان جي لاءِ آهي، نه وري ان جو حق. جيڪڏهن ماڻهو اِهو سمجهي ته هِي خدا جي شيءِ آهي، جنهن کي ان امتحان جي ڪري ان جي قبضي ۾ ڏني آهي ته ان سان ماڻهو جي اندر عاجزي جي نفسيات پيدا ٿيندي. هو ڊڄندو ته جنهن خدا ڏنو آهي، هو ان کي ورې ڪسي نه وٺي. پر غافل ماڻهو ان کي پنهنجو ذاتي حق سمجهي وٺندا آهن. سندن اِهوئي احساس انهن کي ظالم ۽ متڪبر بڻائي ڇڏيندو آهي.

پيغمبر جي دعوت جڏهن تڪميل جي مرحلي ۾ پهچندي آهي ته اِهو مخاطب قوم جي لاءِ امتحان جي مهلت ختم ٿيڻ جي هم معنيٰ هوندو آهي. ان ڪانپوءِ اُهي ماڻهو دنيا کي پنهنجي لاءِ بلڪل بدليل ڏسندا آهن. جن شين کي اُهي پنهنجي شيءِ سمجهي تڪبر وارا منصوبا بڻائي رهيا هئا، اُهي شيون اوچتو انهن جو ساٿ ڇڏي ڏينديون آهن. ايستائين جو اهو وقت ايندو آهي، جڏهن زمين انهن کان کسي ٻين ماڻهن کي ڏني وڃي جيڪي انهن جي مقابلي ۾ انهن کان وڌيڪ حق رکندا هجن.

وَاسۡتَفۡتَحُوۡا وَخَابَ كُلُّ جَبَّارٍ عَنِيۡدٍ ۝١٥ مِّنۡ وَّرَآىِٕهٖ جَهَنَّمُ وَ يُسۡقٰى مِنۡ مَّآءٍ صَدِيۡدٍ ۝١٦
يَّتَجَرَّعُهٗ وَلَا يَكَادُ يُسِيۡغُهٗ وَيَاۡتِيۡهِ الۡمَوۡتُ مِنۡ كُلِّ مَكَانٍ وَّمَا هُوَ بِمَيِّتٍ ؕ وَمِنۡ وَّرَآىِٕهٖ
عَذَابٌ غَلِيۡظٌ ۝١٧

۽ انهن فيصلو طلب ڪيو ۽ هر سرڪش، ضدي نامراد ٿيو. اُن جي اڳيان دوزخ آهي ۽ اُن کي پُونءِ جو پاڻي پيئڻ لاءِ ملندو، هو ان کي ڍُڪ ڍُڪ ڪري پيئندو ۽ ان کي مشڪل سان ڳيٽ ڏئي سگهندو. موت هر طرف کان ان تي چانيل هوندي. پر هو ڪنهن طرح به مري نه سگهندو ۽ ان جي پويان سخت عذاب هوندو. ١٥-١٧

---

خدا وٽ ڪنهن ماڻهو جو سڀني کان وڏو جرم اِهو آهي ته ان کي خدا ڏانهن سڏيو وڃي ۽ هو ضدي ۽ سرڪش بڻجي ان جو جواب ڏي. اهڙن ماڻهن جي لاءِ دنيا ۾ ذلت آهي ۽ آخرت ۾ اهڙو شديد عذاب جو اُهي هر وقت پاڻ کي موت ۽ هلاڪت جي ڪناري لهندا.

جڏهن ماڻهو ڪنهن جي خلاف ظلم ۽ سرڪشي جو رويو اختيار ڪندو آهي ته هو ڪنهن پروسي تي ائين ڪندو آهي. اُهي مخالف پنهنجي پاڻ کي ”بزرگن“ جي دين تي سمجهندا هئا. ان جي مقابلي ۾ پيغمبر ۽ ان جا ساٿي انهن کي ”گهٽ ۽ بي حيثيت“ ڏسڻ ۾ ايندا هئا. سندن اِهائي نفسيات هئي جنهن انهن کي آماده ڪيو ته هو پيغمبر ۽ ان جي ساٿين تي هر قسم جي ظلم کي پنهنجي لاءِ جائز سمجهي وٺن. پاڻ کي ”بزرگن“ سان منسوب ڪرڻ جي ڪري هو ”گهٽ ۽ بي حيثيت“ وارن جي خلاف هر قسم جون ڪارروائيون ڪرڻ جي لاءِ دلير ٿي ويا.

مَثَلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ اَعْمَالُهُمْ كَرَمَادِ ۨاشْتَدَّتْ بِهِ الرِّيْحُ فِيْ يَوْمٍ عَاصِفٍ ؕ لَا
يَقْدِرُوْنَ مِمَّا كَسَبُوْا عَلٰى شَيْءٍ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الضَّلٰلُ الْبَعِيْدُ ﴿١٨﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ خَلَقَ
السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ بِالْحَقِّ ؕ اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ وَ يَاْتِ بِخَلْقٍ جَدِيْدٍ ﴿١٩﴾ وَّ مَا ذٰلِكَ عَلَى
اللّٰهِ بِعَزِيْزٍ ﴿٢٠﴾

جن ماڻهن پنهنجي رب جو انڪار ڪيو، انهن جا عمل ان خاڪ وانگر آهن جنهن کي هڪ طوفان واري ڏينهن جي واءُ اڏائي ڇڏيو هجي. انهن جيڪو ڪيو تنهن مان ڪجھ به حاصل نه ڪري سگھندا. اِهائي وڏي گمراهي آهي. ڇا تو نه ڏٺو ته الله آسمانن ۽ زمين کي بلڪل ٺيڪ ٺيڪ پيدا ڪيو آهي. جيڪڏهن هو چاهي ته توهان کي هٽائي ڇڏي ۽ هڪ نئين مخلوق آڻي ۽ اِهو الله لاءِ ڪجھ مشڪل نه آهي. ١٨-٢٠

---

عرب جي جن ماڻهن رسول اللهﷺ جو انڪار ڪيو، اُهي سڀئي خدا ۽ مذهب کي مڃڻ وارا ماڻهو هئا. پوءِ ڇو هو پاڻﷺ جا منڪر بڻجي ويا. اُن جي وجھ اِها هئي ته پاڻﷺ جي سطح تي حق پنهنجي مجرد صورت ۾ ظاهر ٿيو هو. جڏهن ته اُهي ماڻهو رڳو ان شيءِ کي حق سمجھندا هئا جيڪو انهن کي قومي بزرگن جي ذريعي ڪين مليو هجي. انهن پنهنجن مڃيل قومي بزرگن جي دين کي سڃاتو، پر هو ”محمدﷺ بن عبدالله“ جي دين کي سڃاڻڻ ۾ ناڪام رهيا.

جيڪي ماڻهو قومي روايتن جي اثر هيٺ دين کي حاصل ڪن، انهن وٽ به دين جو ظاهري ڍانچو موجود هوندو آهي. پر اڪثر انهن وٽ دين جي ڏومر مٽل هوندي آهي. جيئن ته اِهو سڀ ڪجھ رڳو ظاهري دينداري هوندي آهي، دين جي اصل حقيقت سان ان جو ڪو به تعلق نه هوندو آهي. پر خدا کي جيڪا شيءِ گھربل آهي، اُها حقيقي دينداري آهي نه وري ظاهري هنگاما.

خدا کي اُهو انسان گھربل آهي جنهن ذاتي شعور جي سطح تي حق کي دريافت ڪيو هجي. جنهن غيب جي پردي ۾ خدا جو مشاهدو ڪيو هجي. جنهن حق کي ان جي مجرد صورت ۾ سڃاتو هجي ۽ ان جو ساٿ ڏنو هجي. جنهن جو روح خدا جي معرفت جي سمنڊ مان فيضياب ٿئي جيڪو خدا جي محبت ۾ تڙپيو هجي ۽ خدا جي خوف ۾ جنهن جي اکين مان لڙڪ وهيا هجن.

ٻئين قسم جي ماڻهن جي دينداري ظاهري دينداري آهي. قيامت جي آنڌي ان کي اهڙي طرح اڏاري ڇڏيندي جهڙي طرح زمين تي پيل ڪک پن تيز هوا ۾ اڏامي ويندا آهن. ان جي ابتڙ ٻئي قسم جي ماڻهن جو دين حقيقي دين آهي. اُهو انساني وجود جي آخري گهرائي تائين اندر لهي ويندو آهي. اهڙي وجود جي لاءِ آنڌي رڳو ان ڪري ايندي آهي جو هُو اُن جي مضبوطي کي ثابت ڪري، نه وري ان کي پٽي ڪٽي وڃي.

ڪائنات جو مطالعو ٻڌائي ٿو ته ان جي تخليق حقيقت جي بنياد تي ٿي آهي. اهڙي ڪائنات ۾ صرف حقيقي عمل جي قيمت ٿي سگھي ٿي نه وري قياس ۽ خوش گماني جي.

وَ بَرَزُوْا لِلّٰهِ جَمِيْعًا فَقَالَ الضُّعَفٰٓؤُا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا اِنَّا كُنَّا لَكُمْ تَبَعًا فَهَلْ اَنْتُمْ

مُّغۡنُوۡنَ عَنَّا مِنۡ عَذَابِ اللّٰهِ مِنۡ شَیۡءٍ ؕ قَالُوۡا لَوۡ هَدٰىنَا اللّٰهُ لَهَدَيۡنٰكُمۡ ؕ سَوَآءٌ عَلَيۡنَاۤ
ع ٣ ١٥ اَجَزِعۡنَاۤ اَمۡ صَبَرۡنَا مَا لَنَا مِنۡ مَّحِيۡصٍ ﴿٢١﴾

۽ خدا جي سامهون سڀ پيش ٿيندا. پوءِ ڪمزور ماڻهو انهن ماڻهن کي چوندا جيڪي وڏائي وارا هئا، اسان توهان جي ئي پويان هئاسون، تہ ڇا پوءِ توهان الله جي عذاب مان ڪجهہ اسان کان ٽارڻ وارا آهيو. هو چوندا تہ جيڪڏهن الله اسان کي ڪا راهہ ڏيکاري ها تہ اسان توهان کي ضرور اها راهہ ڏيکاريون ها. هاڻي اسان جي لاءِ روئڻ يا رڙڻ يا صبر ڪرڻ هڪ جهڙو آهي، اسان جي بچڻ جي ڪا صورت نہ آهي. ٢١

---

انسان حقيقت ۾ جيتوڻيڪ هر وقت ”خدا جي سامهون“ آهي. پر موجوده دنيا ۾ ماڻهو پنهنجي پاڻ کي بظاهر خدا جي سامهون نہ ٿو ڏسي. آخرت ۾ هِي پردو هٽي ويندو. ان وقت ماڻهو ڏسندو تہ هو اهڙي طرح ڪامل طور تي خدا جي سامهون هو جو اُن جي ڪابہ شيءِ خدا کان لڪيل نہ هئي.

دنيا ۾ جيڪي ماڻهو حق کي نظر انداز ڪندا آهن، سندن سيني کان وڏو سهارو سندن فرض ڪيل بزرگ هوندا آهن. چاهي اُهي مرده بزرگ هجن يا زندهہ بزرگ. ننڍا جيڪو ڪجهہ ڪندا آهن سو پنهنجن وڏن جي پيروسي تي ڪندا آهن. آخرت ۾ جڏهن اُهي ماڻهو پنهنجي پاڻ کي بلڪل بي وسي جي حالت ۾ ڏسندا تہ هو پنهنجن وڏن کي چوندا تہ دنيا ۾ اسان توهان جي رهنمائي تي اعتماد ڪندا هئاسون، هاڻي هتي بہ توهان اسان جي ڪجهہ رهنمائي ڪريو.

ان جي جواب ۾ انهن جا وڏا پنهنجن ننڍن کي چوندا تہ اڄوڪو ڏينهن تہ ان لاءِ ئي آيو آهي جو هو اسان جي رهنما نہ هئڻ کي بي نقاب ڪري. پوءِ هاڻي اسان توهان جي ڪهڙي رهنمائي ڪري سگهون ٿا. اسان جي رهنمائي تہ رڳو وقتي دوکو ۽ فريب هئي جيڪا پوئين دنيا ۾ ختم ٿي وئي. هاڻي تہ بس اِهوئي آهي تہ توهان بہ پنهنجي گمراهہ ٿيڻ جو نتيجو ڀوڳيو ۽ اسان بہ پنهنجي گمراهي جو نتيجو ڀوڳيون. اسان چاهيون يا نہ چاهيون، هر حال ۾ هاڻي اسان جو هِن ڪانسواءِ ڪو ٻيو انجام نہ آهي.

وَ قَالَ الشَّيۡطٰنُ لَمَّا قُضِیَ الۡاَمۡرُ اِنَّ اللّٰهَ وَعَدَكُمۡ وَعۡدَ الۡحَقِّ وَ وَعَدۡتُّكُمۡ فَاَخۡلَفۡتُكُمۡ ؕ
وَ مَا كَانَ لِیَ عَلَيۡكُمۡ مِّنۡ سُلۡطٰنٍ اِلَّاۤ اَنۡ دَعَوۡتُكُمۡ فَاسۡتَجَبۡتُمۡ لِیۡ ۚ فَلَا تَلُوۡمُوۡنِیۡ وَ لُوۡمُوۡۤا
اَنۡفُسَكُمۡ ؕ مَاۤ اَنَا بِمُصۡرِخِكُمۡ وَ مَاۤ اَنۡتُمۡ بِمُصۡرِخِیَّ ؕ اِنِّیۡ كَفَرۡتُ بِمَاۤ اَشۡرَكۡتُمُوۡنِ مِنۡ
قَبۡلُ ؕ اِنَّ الظّٰلِمِيۡنَ لَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿٢٢﴾

۽ جڏهن معاملي جو فيصلو ٿي ويندو تہ شيطان چوندو تہ الله توهان سان سچو وعدو ڪيو هو ۽ مون توهان سان وعدو ڪيو تہ مون ان جي خلاف ورزي ڪئي. ۽ منهنجو توهان تي ڪو زور نہ هو. پر هِي تہ مون توهان کي سڏيو تہ توهان منهنجي ڳالهہ کي مڃي ورتو. تنهن ڪري توهان مون کي الزام نہ ڏيو ۽ توهان پنهنجي پاڻ کي الزام ڏيو. نہ آئون توهان جو مددگار ٿي سگهان ٿو ۽ نہ توهان منهنجا مددگار ٿي سگهو ٿا. آئون خود ان مان بيزار آهيان تہ توهان هِن کان اڳ ۾ مون کي شريڪ بڻايو هو. بيشڪ ظالمن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي. ٢٢

---

خدا جي دنيا حقيقت جي دنيا آهي نہ وري خيالن يا گمانن جي دنيا. هِتي شيطان جي وعدي تي

لڳڻ اِهو آهي تہ ماڻهو غير حقيقي بنيادن تي پنهنجي زندگي جي تعمير ڪرڻ چاهي.

ماڻهو حق جي داعي کي نظر انداز ڪري ڇڏي ۽ ٻيا ڪارناما ڏيکاري حق جو علمبردار هئڻ جو ڪريڊٽ ڪٽي. هو آخرت جي لاءِ عمل نہ ڪري ۽ هٿ ٺوڪيل گمانن جي تحت اِها اميد قائم ڪري وٺي تہ ان جي نجات ٿي ويندي. هُو خدا جي حڪمن مطابق زندگي نہ گذاري ۽ اِهو يقين ڪري وٺي تہ ان جو نالو خود بہ خود خدا جي محبوب ماڻهن ۾ لکيو ويندو. اِهو شيطان جي وعدن تي ڀروسو ڪرڻ آهي ۽ آخرت ۾ ماڻهو ڄاڻي وٺندو تہ صرف خدا جو وعدو ئي سچو هو ۽ باقي سڀئي وعدا ڪوڙا ڀروسا هئا جيڪي ڪڏهن بہ پورا ٿيڻ وارا نہ هئا.

خدا جي دنيا ۾ خدا ڪانسواءِ ڪنهن مان بہ اميد قائم ڪرڻ شرڪ آهي. ان ڪري جيڪي ماڻهو خدائي حقيقتن کي نظر انداز ڪندا آهن ۽ غير خدائي اميدن تي پنهنجي زندگي جو محل تعمير ڪرڻ چاهيندا آهن. اُهي ڄڻ خدا سان ٻين شين کي خدا جو شريڪ ڪري رهيا آهن. اِهي ٻيئي شيون فيصلي جي ڏينهن انهن جو ڪجھ بہ سهارو نہ بڻجي سگهنديون.

وَ اُدۡخِلَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجۡرِيۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَا بِاِذۡنِ رَبِّهِمۡ ؕ تَحِيَّتُهُمۡ فِيۡهَا سَلٰمٌ ﴿۲۳﴾

۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ جن نيڪ عمل ڪيا سي اهڙن باغن ۾ داخل ڪيا ويندا جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون. انهن ۾ هو پنهنجي رب جي حڪم سان هميشہ رهندا، ان ۾ سندن آڌرڀاءُ هڪٻئي تي سلام هوندو. ٢٣

---

ملاقات جي وقت السلام عليڪم چوڻ رڳو هڪ معاشرتي رسم نہ آهي. هِي قلبي تعلق جي هڪ ظاهري علامت آهي. دنيا جو السلام عليڪم بہ پنهنجي حقيقت جي لحاظ کان اِهوئي آهي ۽ آخرت جو السلام عليڪم بہ وڌيڪ اضافي سان اِهوئي آهي.

جيڪي ماڻهو دنيا ۾ اِهڙي طرح رهيا جو انهن جي اندر هڪٻئي جي لاءِ خيرخواهي جا جذبا ڀريل هئا. جيڪي شڪايتن کي نظرانداز ڪندي هڪٻئي سان محبت ڪرڻ ڄاڻندا هئا. جيڪي ٻين جي لاءِ هميشہ اُهي لفظ ڳالهائيندا هئا، جن ۾ سندن اعتراف ۽ احترام شامل هو. جيڪي ٻين جي لاءِ اُهائي شيءِ پسند ڪندا هئا جيڪا پنهنجي لاءِ پسند ڪندا هئا. جن جي سيني ۾ ٻين جي لاءِ سلامتيءَ جا چشما جاري هئا ۽ جن جون اکيون ٻين جي ڀلائيءَ کي ڏسي ٿڌي ٿينديون هيون. اِهي ئي اُهي ماڻهو آهن جيڪي جنت جي نفيس دنيا ۾ آباد ٿيڻ جا اهل ٿيندا. دنيا ۾ بہ سندن اِهو حال هو تہ جڏهن هو پنهنجن ڀائرن سان ملندا هئا تہ انهن جي لاءِ انهن جي محبت ۽ خيرخواهي "السلام عليڪم" جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي هئي. آخرت ۾ اِهائي شيءِ اجا وڌيڪ لطيف ۽ خالص بڻجي پنهنجن جنتي پاڙيسرين جي باري ۾ سندن زبان مان نڪرندي.

اَلَمۡ تَرَ كَيۡفَ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا كَلِمَةً طَيِّبَةً كَشَجَرَةٍ طَيِّبَةٍ اَصۡلُهَا ثَابِتٌ وَّ فَرۡعُهَا فِي السَّمَآءِ ﴿۲۴﴾ تُؤۡتِيۡۤ اُكُلَهَا كُلَّ حِيۡنٍۭ بِاِذۡنِ رَبِّهَا ؕ وَ يَضۡرِبُ اللّٰهُ الۡاَمۡثَالَ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمۡ

يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٥﴾ وَ مَثَلُ كَلِمَةٍ خَبِيْثَةٍ كَشَجَرَةٍ خَبِيْثَةِ ِاجْتُثَّتْ مِنْ فَوْقِ الْاَرْضِ مَا لَهَا
مِنْ قَرَارٍ ﴿٢٦﴾

ڇا تو نہ ڏٺو ڪهڙي طرح مثال بيان فرمايو الله ڪلمي طيبه جو. اُهو هڪ پاڪيزه وڻ وانگر آهي، جنهن جي پاڙ زمين ۾ جميل آهي. ۽ جنهن جون ٽاريون آسمان تائين پهچنديون هجن. اُهو هر وقت پنهنجو ميوو ڏيندو آهي. پنهنجي رب جي حڪم سان ۽ الله ماڻهن جي لاءِ مثال بيان ڪري ٿو ته جيئن هو نصيحت حاصل ڪن. ۽ ڪلمي خبيث جو مثال هڪ خراب وڻ جي آهي جيڪو زمين جي مٿان ڪان پٽيو وڃي ۽ ان کي ڪو ٽڪاءُ نہ هجي. ٢٤-٢٦

---

موجوده دنيا ۾ الله تعاليٰ مختلف حقيقتن جا ظاهري مثال قائم ڪيا آهن. طيّب وڻ (سٺو وڻ) هڪ لحاظ ڪان مؤمن جو مثال آهي.

وڻ جي اِها عجيب خاصيت آهي جو اِهو پوري ڪائنات کي پنهنجو غذائي دسترخوان بڻائيندو آهي ۽ اهڙي طرح ٻج ترقي ڪندي هڪ عظيم وڻ جي صورت ۾ زمين تي بيهي رهندو آهي. وڻ زمين مان پاڻي، معدنيات ۽ نمڪيات وٺي وڌندو آهي. انهي سان گڏ هو هوا ۽ سج ڪان پنهنجي لاءِ غذا حاصل ڪندو آهي. هو هيٺان بہ خوراڪ ڪڻندو آهي ۽ مٿان ڪان بہ.

اِهوئي معاملو مؤمن جو بہ آهي. عام وڻ جيڪڏهن مادي وڻ آهي تہ مؤمن شعوري وڻ. مؤمن هڪ پاسي دنيا ۾ خدا جي تخليق ۽ ان جي نظام کي ڏسي عبرت ۽ نصيحت حاصل ڪندو آهي. ٻئي طرف ”مٿان“ ڪان ان کي مسلسل خدا جو فيض پهچندو رهي ٿو. هو مخلوق ڪان بہ پنهنجي لاءِ ايمان ۾ اضافي جي خوراڪ حاصل ڪندو آهي ۽ خالق سان بہ ان جو قرب ۽ ملاقات جاري رهندي آهي.

وڻ هر موسم ۾ پنهنجو ميوو ڏيندو آهي. اِهڙي طرح مؤمن هر موقعي تي اُهو صحيح رويو ظاهر ڪندو آهي جيڪو ان کي ظاهر ڪرڻ گهرجي. معاشي تنگي هجي يا معاشي ڪشادگي، خوشيءَ جو لمحو هجي يا غم جو. شڪايت جي ڳالھ هجي يا تعريف جي. زور آوري جي حالت هجي يا بي وسي جي، هر موقعي تي ان جي زبان ۽ ان جو ڪردار اُهوئي رد عمل ظاهر ڪندو آهي جيڪو خدا جي سچي ٻانهي جي حيثيت سان ان کي ظاهر ڪرڻ گهرجي.

ٻيو مثال خبيث وڻ (ڪنڊن وارو) جو آهي، ان کي ڏسي ائين معلوم ٿيندو آهي تہ ڪائنات مان ان کي بلڪل ابتڙ قسم جي خوراڪ ڏني پئي وڃي، جنهن جي نتيجي ۾ اُن مان ڪنڊا نڪري آيا آهن. ان جي ٽارين تي ڪڙا ۽ ڪسا ميوا ڦٽندا آهن. ان وٽ ڪو ماڻهو وڃي تہ هو بدبو سان ان جو استقبال ڪندو آهي. اهڙي وڻ کي ڪير بہ پسند نہ ٿو ڪري، هو جتي بہ ڦٿي اُتان اُن کي پٽي اڇلايو ويندو آهي.

اهوئي معاملو غير مؤمن جو آهي. هو زمين ۾ هڪ اڻ وڻندڙ وجود جي حيثيت سان وڌندو آهي. ڪائنات پنهنجن سيني بهترين نشانين جي باوجود اُن جي لاءِ اهڙي ٿي ويندي آهي جڻ هتي اُن جي لاءِ نہ ڪو دليل آهي ۽ نہ وري ڪا نصيحت. خدا جو فيض جيتوڻيڪ هر وقت وسندو رهي ٿو، پر ان کي ان مان ڪو حصو نہ ٿو ملي. ان جي ڪردار ۽ معاملن ۾ ان جو اظهار نہ ٿيندو آهي.

يُثَبِّتُ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِالْقَوْلِ الثَّابِتِ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَ فِي الْاٰخِرَةِ ۚ وَ يُضِلُّ اللّٰهُ

ع ٦ ١٦ الظّٰلِمِيۡنَ ۙۗ وَ يَفۡعَلُ اللّٰهُ مَا يَشَآءُ ﴿٢٧﴾

الله ايمان وارن کي هڪ پڪي ڳالهہ سان دنيا ۽ آخرت ۾ مضبوط ڪندو آهي. ۽ الله ظالمن کي ڀٽڪائي ڇڏيندو آهي. ۽ الله ڪندو آهي جيڪو هو چاهيندو آهي. ٢٧

---

”خدا ايمان وارن کي توحيد جي ڪلمي ذريعي دنيا ۾ بہ ثابت قدم رکندو آهي ۽ آخرت ۾ بہ“. دنيا ۾ ثابت قدم رهڻ مان مراد پنهنجي زندگي جي هر مُوڙ تي خير ۽ صالح عمل جي طريقي تي قائم رهڻ آهي. آخرت ۾ ثابت قدم رهڻ مان مراد اِهو آهي تہ قبر جي سوال ۽ جواب جي وقت اُهي ڪامياب رهندا.

انسان هر گهڙي امتحان جي حالت ۾ آهي. اُن تي طرح طرح جون ڀَليون ۽ بريون حالتون اينديون آهن. انهن موقعن تي صحيح خدائي روش تي صرف اُهي ماڻهو قائم رهندا آهن جيڪي پنهنجي اندر ”ايمان جو وڻ“ پوکي چڪا هجن. هو پيش اچڻ واري صورتحال ۾ ان صحيح رد عمل جو ثبوت ڏيندا آهن جيڪو خدا جي مرضي جي مطابق انهن کي ڏيڻ گهرجي. ان جي ابتڙ جنهن ماڻهو جي شخصيت ڪنڊن واري ٻوٽي وانگر هوندي، اُهو هر تجربي ۾ تلخي جو ثبوت ڏيندو آهي ۽ هر موقعي تي ڪنڊو ۽ بدبو ثابت ٿيندو آهي.

ٻنهي قسمن جا انسان جڏهن قبر جي مرحلي ۾ آخري طور تي پرکيا ويندا تہ جيڪو طيّبہ وڻ هو، اُهو طيّبہ وڻ ثابت ٿي جنت جي باغن ۾ داخل ڪيو ويندو ۽ جيڪو خبيث وڻ هو، ان سان اهڙو معاملو ٿيندو ڄڻ اُهو دنيا مان رڳو ان ڪري پٽيو ويو تہ جهنم جو ٻارڻ بڻجڻ جي لاءِ جهنم جي باهہ ۾ اڇلايو وڃي.

اَلَمۡ تَرَ اِلَى الَّذِيۡنَ بَدَّلُوۡا نِعۡمَتَ اللّٰهِ كُفۡرًا وَّ اَحَلُّوۡا قَوۡمَهُمۡ دَارَ الۡبَوَارِ ۙ﴿٢٨﴾ جَهَنَّمَ ۚ يَصۡلَوۡنَهَا ؕ وَ بِئۡسَ الۡقَرَارُ ﴿٢٩﴾ وَ جَعَلُوۡا لِلّٰهِ اَنۡدَادًا لِّيُضِلُّوۡا عَنۡ سَبِيۡلِهٖ ؕ قُلۡ تَمَتَّعُوۡا فَاِنَّ مَصِيۡرَكُمۡ اِلَى النَّارِ ﴿٣٠﴾

ڇا تو انهن ماڻهن کي نہ ڏٺو جن الله جي نعمت جي بدلي ڪفر ڪيو ۽ جنهن پنهنجي قوم کي هلاڪت جي گهر جهنم ۾ پهچائي ڇڏيو، هو ان ۾ داخل ٿيندا ۽ اِهو ڪهڙو برو ٺڪاڻو آهي. ۽ انهن الله جا شريڪ مقرر ڪيا تہ جيئن هو ماڻهن کي الله جي رستي کان ڀٽڪائي ڇڏين. چئو تہ ڪجهہ ڏينهن فائدو ڪٽي وٺو، آخرڪار توهان جو ٺڪاڻو دوزخ آهي. ٢٨-٣٠

---

هِنن آيتن جو ابتدائي خطاب قريش جي سردارن سان آهي. پر ان سان گڏوگڏ ان ۾ اُهي سڀئي ليڊر شامل آهن جيڪي حق جي انڪار جي مهم جي سرداري ڪندا آهن.

ڪنهن قوم جا وڏا اهي ئي ماڻهو ٿيندا آهن جن کي خاص نعمتون ۽ موقعا حاصل هجن. انهن نعمتن ۽ موقعن جو صحيح استعمال اِهو آهي تہ جڏهن انهن جي سامهون حق جي دعوت اچي تہ هو پنهنجن سيني وسيلن سان گڏ ان جي پاسي ٿي بيهن ۽ ان جي پوري مدد ڪن. جيڪي شيون خدا جون ڏنل آهن، انهن تي سڀني کان وڌيڪ حق خدا جو آهي نہ وري ڪنهن ٻئي جو.

پر اڪثر حالتن ۾ معاملو ان کان ابتڙ ٿيندو آهي. اهڙا ماڻهو نہ رڳو اِهو تہ حق کي قبول نہ ٿا

ڪن، بلڪ ان جي خلاف اٿڻ واري تحريڪ جي قيادت پڻ ڪندا آهن. ان جي وجهه اِها آهي ته پاڻ کان ٻاهر ظاهر ٿيڻ واري حق کي قبول ڪرڻ جڻ پنهنجي پاڻ کي ان جي مقابلي ۾ گهٽ ڪرڻ آهي ۽ ائين تمام گهٽ ٿيندو آهي جو اُهي ماڻهو ان تي راضي ٿي وڃن، جن کي ڪنهن سبب جي ڪري سماج ۾ وڏائي جو مقام مليو هجي.

انسان کي هڪ خدا گهرجي. هڪ اهڙي هستي جنهن کي هو پنهنجي زندگي ۾ سڀني کان وڏو مقام ڏئي سگهي. تنهن ڪري جڏهن به ڪو ماڻهو ماڻهن جي توجهه خدا کان هٽائيندو آهي ته ان جو نتيجو اِهو ٿيندو آهي جو ماڻهن جي توجهه ڪنهن غير خدا ڏانهن مائل ٿي ويندي آهي. خدا کي ڇڏڻ هميشه غير خدا کي پنهنجو خدا ٺاهڻ جي قيمت تي هوندو آهي. وڏيڪ اِهو ته خدا کان ماڻهن کي هٽائڻ وارا ڪنهن غير خدا ۾ فرضي طور تي اُهي اعليٰ صفتون ثابت ڪندا آهن جيڪي صرف خدا ۾ هونديون آهن. ڇاڪاڻ ته جيستائين غير خدا ۾ اُهي اعليٰ صفتون ثابت نه ڪيون وڃن، ماڻهو ان ڏانهن متوجهه نه ٿا ٿي سگهن. اِهائي وجهه آهي جو ماڻهو جڏهن هڪ خدا جي بندگي ڇڏيندو آهي ته هو ان کان پوءِ لازمي طور تي وهم پرستي ۾ پئجي ويندو آهي. خدا کي ڇڏڻ جو واحد نعم البدل هِن دنيا ۾ وهم پرستي آهي.

قُلۡ لِّعِبَادِیَ الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا یُقِیۡمُوا الصَّلٰوۃَ وَ یُنۡفِقُوۡا مِمَّا رَزَقۡنٰہُمۡ سِرًّا وَّ عَلَانِیَۃً مِّنۡ قَبۡلِ اَنۡ یَّاۡتِیَ یَوۡمٌ لَّا بَیۡعٌ فِیۡہِ وَ لَا خِلٰلٌ ﴿۳۱﴾

منهنجي جن ٻانهن ايمان آندو آهي، انهن کي چئي ڇڏ ته هو نماز قائم ڪن ۽ جيڪو ڪجهه اسان انهن کي ڏنو آهي اُن مان پڌرو ۽ ڳجهو خرچ ڪن. ان کان پهرين جو اُهو ڏينهن اچي جنهن ۾ نه ڪو واپار هوندو ۽ نه ياري دوستي ڪم ايندي. ٣١

---

ماڻهوءَ تي جڏهن ڪا مصيبت ايندي آهي ته هو ان کان بچڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندو آهي. جيڪڏهن ان جا ڪجهه ساٿي آهن ته هو ساٿين جو زور استعمال ڪندو آهي ۽ جيڪڏهن دولت آهي ته دولت کي ان جي راهه ۾ خرچ ڪندو آهي. پاڻ کي بچائڻ جي تڙپ ماڻهو کي مجبور ڪندي آهي ته هو انهن ٻنهي شين ڏانهن ڊوڙي.

نماز ۽ الله جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ حقيقت ۾ آخرت جي مسئلي جي باري ۾ ماڻهو جي ان ئي احساس جو دنياوي اظهار آهن. نماز ڄڻ آخرت جي ڊيڄاريندڙ وقت کي ياد ڪري خدا جي پناهه ڏانهن ڀڄڻ آهي ته جيئن ان جي مدد سان هو پنهنجي پاڻ کي بچائي. اِهڙي طرح دنيا ۾ پڌري ۽ ڳجهي طرح خرچ ڪرڻ ڄڻ پنهنجي ڪمائي کي آخرت جي لاءِ ڏيڻ آهي ته جيئن اُهو آخرت جي مصيبت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جو ذريعو بڻجي.

آخرت ۾ انهي ماڻهو کي سهارو ملندو جنهن دنيا ۾ خدا کي سهارو بڻايو هجي. آخرت ۾ اِهوئي ماڻهو ڇوٽڪارو حاصل ڪندو جنهن دنيا ۾ ان جي خاطر خرچ ڪيو هجي. جيڪي ماڻهو دنيا ۾ ائين نه ڪري سگهن، اُهي آخرت ۾ سهاري جي لاءِ ڊوڙندا، پر اُتي هو ڪو به سهارو نه لهندا. اُهي آخرت ۾ خرچ ڪرڻ چاهيندا، پر انهن وٽ ڪجهه به نه هوندو، جنهن کي فديي ۾ ڏئي هو اُتي جي مصيبتن کان نجات حاصل ڪن.

اَللّٰهُ الَّذِىۡ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ وَ اَنۡزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَخۡرَجَ بِهٖ مِنَ
الثَّمَرٰتِ رِزۡقًا لَّكُمۡ ۚ وَ سَخَّرَ لَكُمُ الۡفُلۡكَ لِتَجۡرِىَ فِى الۡبَحۡرِ بِاَمۡرِهٖ ۚ وَ سَخَّرَ لَكُمُ
الۡاَنۡهٰرَ ﴿۳۲﴾ وَ سَخَّرَ لَكُمُ الشَّمۡسَ وَ الۡقَمَرَ دَآئِبَيۡنِ ۚ وَ سَخَّرَ لَكُمُ الَّيۡلَ وَ النَّهَارَ ﴿۳۳﴾ وَ
اٰتٰىكُمۡ مِّنۡ كُلِّ مَا سَاَلۡتُمُوۡهُ ؕ وَ اِنۡ تَعُدُّوۡا نِعۡمَتَ اللّٰهِ لَا تُحۡصُوۡهَا ؕ اِنَّ الۡاِنۡسَانَ
لَظَلُوۡمٌ كَفَّارٌ ﴿۳۴﴾ ع ١٧

الله اُهو آهي جنهن آسمان ۽ زمين بڻايا ۽ آسمان مان پاڻي وسايو. پوءِ اُن سان مختلف ميوا ڪڍيا توهان جي روزي جي لاءِ ۽ ٻيڙين کي توهان جي تابع ڪري ڇڏيو ته سمنڊ ۾ ان جي حڪم سان هلن ۽ اُن دريائن کي توهان جي تابع ڪيو. ۽ هُن سج ۽ چنڊ کي توهان جي تابع ڪري ڇڏيو جيڪي سدائين هلندڙ آهن ۽ اُن رات ۽ ڏينهن کي به توهان لاءِ تابع ڪري ڇڏيو. ۽ ان توهان کي هر شيءِ مان ڏنو جيڪو توهان گهريو. جيڪڏهن توهان الله جي نعمتن کي ڳڻيندؤ ته توهان ڳڻي نه سگهندو. بيشڪ انسان وڏو بي انصاف ۽ وڏو ناشڪرو آهي. ٣٢-٣٤

---

موجوده دنيا انتهائي حيرت انگيز حد تائين خدا جي گواهي ڏئي رهي آهي. وسيع خلا ۾ ستارن ۽ سيّارن جي گردش، پاڻي جي ذريعي زمين تي زندگي ۽ رزق جو مهيا ٿيڻ، بر ۽ بحر ۽ فضا تي انسان کي اِها قدرت هجڻ ته هو انهن ۾ پنهنجون سواريون ڊوڙائي، دريائن ۽ جبلن جي ذريعي زمين جو انسان جي موافق بڻجي وڃڻ ۽ سج ۽ چنڊ جي ذريعي موسمن جو ۽ رات ڏينهن جو انتظام، سڀ ڪجهه ان کان وڌيڪ عظيم آهي جو ان کي لفظن ۾ بيان ڪري سگهجي. انسان ۽ ڪائنات ۾ ايتري ڪامل مطابقت آهي جو انسان جي هر سوچ جي قابل يا سوچ کان ٻاهر هر ضرورت جي شيءِ هِتي اڳواٽ ڪثرت سان موجود آهي.

اِهي سڀئي شيون ايتريون ته عجيب ۽ حيرت انگيز آهن جو ماڻهو کي عجب ۾ وجهي ڇڏين ۽ ان کي ٻانهپ جي جذبي سان سرشار ڪري ڇڏين، ان جي باوجود ائين ڇو نه ٿيندو آهي ته ڪائنات کي ڏسي ماڻهو جي اندر تعجب جي ڪيفيت پيدا ٿئي. ڪائنات جي خالق جي تصور سان ان جي بدن جا وار اُڀا ٿي وڃن. ان جي وجهه اِها آهي ته ماڻهو پيدا ٿيندي ئي ڪائنات کي ڏسندو آهي، ڏسندي ڏسندي اُها ان کي هڪ عام شيءِ معلوم ٿيڻ لڳندي آهي. ان ۾ اُن کي ڪا نواڻ نظر نه ٿي اچي.

هِن دنيا ۾ ماڻهو کي جڏهن ڪا شيءِ ملندي آهي ته اُها بظاهر اُن کي اسباب جي تحت ملندي نظر ايندي آهي. ان ڪري هو سمجهي وٺندو آهي ته جيڪا شيءِ ان کي ملي آهي، اُها ان جي پنهنجي محنت ۽ صلاحيت جي ڪري ملي آهي. اِها ئي وجهه آهي جو ماڻهو جي اندر ڏيڻ واري خدا جي لاءِ شڪر جو جذبو پيدا نه ٿو ٿئي.

انسان جي اِها ئي اُها غفلت آهي جنهن کي هِتي بي انصافي ۽ نا شڪري سان تعبير ڪيو ويو آهي.

وَ اِذۡ قَالَ اِبۡرٰهِيۡمُ رَبِّ اجۡعَلۡ هٰذَا الۡبَلَدَ اٰمِنًا وَّ اجۡنُبۡنِىۡ وَ بَنِىَّ اَنۡ نَّعۡبُدَ الۡاَصۡنَامَ ﴿۳۵﴾
رَبِّ اِنَّهُنَّ اَضۡلَلۡنَ كَثِيۡرًا مِّنَ النَّاسِ ۚ فَمَنۡ تَبِعَنِىۡ فَاِنَّهٗ مِنِّىۡ ۚ وَ مَنۡ عَصَانِىۡ فَاِنَّكَ
غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۳۶﴾

۽ جڏهن ابراهيم چيو اي منهنجا رب! هِن شهر کي امن وارو بڻاءِ ۽ مون کي ۽ منهنجي اولاد کي اُن کان پري رک تہ اسان بتن جي عبادت ڪريون. اي منهنجا رب انهن بتن گهڻن ماڻهن کي گمراهہ ڪري ڇڏيو. پوءِ جنهن منهنجي پيروي ڪئي هو منهنجو آهي. ۽ جنهن منهنجو چيو نہ مڃيو تہ تون بخشڻ وارو مهربان آهين. ٣٥-٣٦

---

حضرت ابراهيم عليہ السلام جي زماني تائين ملڪن ۽ قومن جو اِهو حال ٿي چڪو هو جو هر طرف شرڪ ئي شرڪ هو. سج چنڊ ۽ ٻيون شيون انسان جي پوڄا جا سبب بڻجي ويا هئا. قديم زماني ۾ زندگي جي سيني سرگرمين تي شرڪ جو اهڙي طرح غلبو ٿيو هو جو انساني نسلن ۾ شرڪ جو تسلسل قائم ٿي ويو هو. بظاهر اِهو ناممڪن نظر پيو آيو تہ ماڻهن کي شرڪ جي فضا مان ڪڍي توحيد جي دائري ۾ آڻي سگهجي. ان وقت خدا جي خاص حڪم تحت حضرت ابراهيم عليہ السلام عراق مان نڪري عرب جي رڻ ۾ آيا جيڪو انساني تهذيب کان پري بلڪل غير آباد علائقو هو. پاڻ عليہ السلام الڳ ٿلڳ ماحول ۾ پنهنجي زال هاجره عليہا السلام ۽ پنهنجي ٻار اسماعيل کي آباد ڪيو. تہ جيئن هتي وقت جي مشرڪاڻي تسلسل کان نئون نسل تيار ٿئي جيڪو آزاد فضا ۾ پرورش حاصل ڪري پنهنجي صحيح فطرت تي قائم ٿي سگهي. حضرت ابراهيم عليہ السلام جو ڪلام دعا جي انداز ۾ ان ئي خاص حقيقت کي ظاهر ڪري رهيو آهي.

بني اسماعيل کي خشڪ ۽ غير آباد رڻ ۾ آباد ڪرڻ سان خدا جو منصوبو اِهو ئي هو، هاڻي هتي جي جن ماڻهن توحيد کي پنهنجي دل جو آواز بڻايو، اهي ڄڻ تہ باغ ابراهيم جي صحيح پيداوار هئا. ان جي ابتڙ جن ماڻهن ٻيهر شرڪ جو طريقو اختيار ڪيو، سي هن باغ جي خراب پيداوار قرار ڏنا ويندا.

رَبَّنَآ اِنِّيْٓ اَسْكَنْتُ مِنْ ذُرِّيَّتِيْ بِوَادٍ غَيْرِ ذِيْ زَرْعٍ عِنْدَ بَيْتِكَ الْمُحَرَّمِ ۙ رَبَّنَا لِيُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ فَاجْعَلْ اَفْـِٕدَةً مِّنَ النَّاسِ تَهْوِيْٓ اِلَيْهِمْ وَارْزُقْهُمْ مِّنَ الثَّمَرٰتِ لَعَلَّهُمْ يَشْكُرُوْنَ ﴿٣٧﴾

اي اسان جا رب! مون پنهنجي اولاد کي هڪ غير آباد وادي ۾ تنهنجي عزت واري گهر وٽ وسايو آهي. اي اسان جا رب تہ جيئن هو نماز قائم ڪن. پوءِ تون ماڻهن جون دليون انهن ڏانهن مائل ڪري ڇڏ ۽ انهن کي ميون جي روزي عطا فرماءِ تہ جيئن هو شڪر گذار ٿين. ٣٧

---

قديم مڪي ۾ جتي بني اسماعيل آباد ڪيا ويا، اُتي جي جابلو ۽ رڻ جي دنيا ڄڻ تہ خدا جي معرفت جي قدرتي تربيت گاهہ هئي. ٻئي طرف اتي انساني تعميرات جو واحد نشان ڪعبة الله هو. هڪ پاسي فطرت جو ماحول انسان جي اندر خدا جي ياد ڏيارڻ وارو هو. ان ڪانپوءِ پنهنجي ويجهو ان کي جيڪا نمايان شيءِ نظر ايندي هئي، اُها حضرت ابراهيم عليہ السلام ۽ حضرت اسمٰعيل جي تاهيل پٿرن جي مسجد هئي جنهن ۾ داخل ٿي هو خدا جي ياد ۾ مشغول ٿي وڃي.

پوءِ ان ماحول ۾ بني اسمٰعيل کي معجزاتي طور زم زم جو پاڻي مهيا ڪيو ويو. انهيءَ سان گڏ سندن لاءِ هِي انتظام بہ ڪيو ويو جو اهڙي پيداوار سان انهن کي رزق ملي جيڪا سندن قدمن جي هيٺ پيدا نہ ٿي ٿئي. اِهو ڄڻ تہ انهن کي شڪر گذار بڻائڻ جو خاص اهتمام هو. غير معمولي نعمت سان ماڻهوءَ جي اندر شڪر جو غير معمولي جذبو پيدا ٿيندو آهي ۽ اِهائي اُها حڪمت آهي جيڪا حضرت ابراهيم جي اُن دعا ۾ لڪيل هئي جيڪا صحرا ۾ انهن کي ميون جي روزي ڏي.

رَبَّنَآ اِنَّكَ تَعْلَمُ مَا نُخْفِيْ وَ مَا نُعْلِنُ ؕ وَ مَا يَخْفٰى عَلَى اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ فِي الْاَرْضِ وَ لَا فِي
السَّمَآءِ ﴿٣٨﴾ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ وَهَبَ لِيْ عَلَى الْكِبَرِ اِسْمٰعِيْلَ وَ اِسْحٰقَ ؕ اِنَّ رَبِّيْ لَسَمِيْعُ
الدُّعَآءِ ﴿٣٩﴾ رَبِّ اجْعَلْنِيْ مُقِيْمَ الصَّلٰوةِ وَ مِنْ ذُرِّيَّتِيْ ۖۗ رَبَّنَا وَ تَقَبَّلْ دُعَآءِ ﴿٤٠﴾ رَبَّنَا اغْفِرْ
ع ٦ ١٨ لِيْ وَ لِوَالِدَيَّ وَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ يَوْمَ يَقُوْمُ الْحِسَابُ ﴿٤١﴾

اي اسان جا رب! تون ڄاڻين ٿو جيڪو ڪجهه اسان لڪايون ٿا ۽ جيڪو ڪجهه اسان ظاهر ڪريون ٿا. ۽ الله کان ڪا شيءِ لڪيل نہ آهي نہ زمين ۾ ۽ نہ آسمان ۾. شڪر آهي اُن الله جو جنهن مون کي پيريءَ ۾ اسمٰعيل ۽ اسحٰق عطا ڪيا. بيشڪ منهنجو رب دعا جو ٻڌڻ وارڻ آهي. اي منهنجا رب! مون کي نماز قائم ڪرڻ وارو بڻاءِ. ۽ منهنجي اولاد ۾ بہ. اي منهنجا رب! منهنجي دعا قبول فرماءِ. اي اسان جا رب! مون کي معاف فرما ۽ منهنجي والدين کي ۽ مؤمنن کي اُن ڏينهن جڏهن تہ حساب قائم ٿيندو. ٣٨-٤١

---

حضرت ابراهيم- جي هن دعا ۾ اُهي سيئي جذبا نظر اچي رهيا آهن جيڪي هڪ سچي ٻانهي جي اندر خدا کي پڪاريندي پيدا ٿيندا آهن. ان جي ٻانهپ گُهر ڪري ٿي تہ هو خدا جي سامهون پنهنجي عاجزي جو اقرار ڪري. جيڪو ڪجهه گُهري محتاجي جي بنياد تي گهري نہ وري حق جي بنياد تي. هڪ پاسي هو مليل نعمتن جو اعتراف ڪري ۽ ٻئي پاسي ادب جا سيئي تقاضا پورا ڪندي پنهنجي درخواست يا سوال پيش ڪري. هو اقرار ڪري تہ خدا ڏيڻ وارو آهي ۽ انسان وٺڻ وارو.

هو پنهنجي رب کان اِها توفيق گهري تہ هو دنيا ۾ سندس چاهيندڙ بڻجي رهي. اِهڙي درخواست هو پنهنجي لاءِ بہ ڪري ۽ پنهنجي خاندان جي لاءِ بہ ۽ سيني مؤمنن جي لاءِ بہ. دعا جي وقت ان جي سامهون جيڪو سيني کان وڏو مسئلو هجي، اهو دنيا جو نہ بلڪ آخرت جو هجي، جتي هميشہ لاءِ ماڻهو کي رهڻو آهي.

اهڙي ادب سان جيڪا دعا ڪئي وڃي، اُها پيغمبر واري دعا آهي ۽ اهڙي دعا جيڪڏهن سچي دل سان نڪري تہ اُها ضرور خدا وٽ قبوليت جو درجو حاصل ڪندي آهي.

وَ لَا تَحْسَبَنَّ اللّٰهَ غَافِلًا عَمَّا يَعْمَلُ الظّٰلِمُوْنَ ؕ اِنَّمَا يُؤَخِّرُهُمْ لِيَوْمٍ تَشْخَصُ فِيْهِ
الْاَبْصَارُ ﴿٤٢﴾ مُهْطِعِيْنَ مُقْنِعِيْ رُءُوْسِهِمْ لَا يَرْتَدُّ اِلَيْهِمْ طَرْفُهُمْ ۚ وَ اَفْـِٕدَتُهُمْ هَوَآءٌ ﴿٤٣﴾

۽ هرگز خيال نہ ڪجو تہ الله ان کان بي خبر آهي جيڪو ظالم ماڻهو ڪري رهيا آهن. هو انهن کي ان ڏينهن تائين مهلت ڏئي رهيو آهي جنهن ڏينهن اکيون ڦاٽيون وينديون. اُهي پنهنجا ڳاٽ مٿي ڪيو ڀڄندا وتندا. پاڻ ڏانهن سندن نظر وري نہ سگهندي ۽ سندن دليون پيون ڌڪنديون. ٤٢-٤٣

---

ماڻهو جي سامهون حق اچي ٿو تہ هو ان جو مخالف بڻجي پوندو آهي. هو ان جي مقابلي ۾ اهڙي بي خوفي جو مظاهرو ڪندو آهي ڄڻ ڪائنس وڏيڪ بهادر دنيا ۾ ٻيو ڪير نہ آهي.

پر اِهوئي حق جيڪو موجوده دنيا ۾ "داعي" جي سطح تي ظاهر ٿيندو آهي، اُهو آخرت ۾ "خدا" جي سطح تي ظاهر ٿيندو. ان ڏينهن اهڙن ماڻهن جي سڄي بهادري گم ٿي ويندي. آخرت جو

دهشت ناڪ منظر ڏسي انهن جو اهو حال ٿيندو تہ جڏهن انهن جون نگاهون مٿي ٿينديون تہ اُهي مٿي ئي مٿي رهجي وينديون. اک ڇنڀڻ جي نوبت بہ نہ ايندي. هو مٿو ڪڍي تيزيءَ سان ميدان حشر ڏانهن ڀڄي رهيا هوندا ۽ انهن جون دليون دهشت جي ڪري پيون ڏڪنديون.

وَ اَنْذِرِ النَّاسَ يَوْمَ يَاْتِيْهِمُ الْعَذَابُ فَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا رَبَّنَاۤ اَخِّرْنَاۤ اِلٰۤى اَجَلٍ قَرِيْبٍ ۙ نُّجِبْ دَعْوَتَكَ وَ نَتَّبِعِ الرُّسُلَ ؕ اَوَ لَمْ تَكُوْنُوْۤا اَقْسَمْتُمْ مِّنْ قَبْلُ مَا لَكُمْ مِّنْ زَوَالٍ ﴿۴۴﴾ وَّ سَكَنْتُمْ فِيْ مَسٰكِنِ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ وَ تَبَيَّنَ لَكُمْ كَيْفَ فَعَلْنَا بِهِمْ وَ ضَرَبْنَا لَكُمُ الْاَمْثَالَ ﴿۴۵﴾ وَ قَدْ مَكَرُوْا مَكْرَهُمْ وَ عِنْدَ اللّٰهِ مَكْرُهُمْ ؕ وَ اِنْ كَانَ مَكْرُهُمْ لِتَزُوْلَ مِنْهُ الْجِبَالُ ﴿۴۶﴾

۽ ماڻهن کي ان ڏينهن کان ڊيڄار جنهن ڏينهن انهن تي عذاب ايندو. ان وقت ظالم ماڻهو چوندا تہ اي اسان جا رب! اسان کي ٿوري مهلت اچا ڏي تہ اسان تنهنجو سڏ قبول ڪري وٺون ۽ رسولن جي پيروي ڪريون. ڇا توهان ان کان اڳ ۾ قسم نہ کنيا هئا تہ توهان تي زوال اچڻو نہ آهي. ۽ توهان انهن ماڻهن جي بستين ۾ آباد هئا جن پنهنجن جانين تي ظلم ڪيو هو ۽ توهان تي صاف صاف ظاهر ٿي چڪو هو تہ اسان انهن سان ڇا ڪيو. ۽ اسان توهان لاءِ مثال بيان ڪيا. ۽ انهن پنهنجون سيئي تدبيرون ڪيون ۽ سندن تدبيرون الله جي سامهون هُيون. جيتوڻيڪ سندن تدبيرون اهڙيون هيون جو انهن سان جبل بہ هٽي وڃن. ٤٤-٤٦

---

ماڻهو جو حال اِهو آهي تہ هڪ ڏينهن اڱواٽ بہ ان کي پنهنجي انجام جو احساس نہ ٿو ٿئي. ان کي جيڪڏهن ڪا قوت يا حيثيت حاصل هجي تہ هو اهڙي طرح آڪڙبو آهي ڄڻ تہ ان جي حيثيت ڪڏهن ان کان کسجڻ واري نہ آهي. هو خدا جي دعوت کي ٺڪرائيندو آهي ۽ وساري ٿو ڇڏي تہ جن شين جي ڪري ان کي ٺڪرائي رهيو آهي، اُهي سڀ خدا جون ئي ڏنل آهن. ان جي سامهون دليل ايندا آهن، پر هو انهن تي ڌيان نہ ٿو ڏي. ماضي جي سرڪشن جو انجام ان جي سامهون هوندو آهي، پر هو سمجهي ٿو تہ جيڪو ڪجهہ ٿيو اُهو ٻين جي لاءِ هو. خود ان جي لاءِ ڪڏهن ائين ٿيڻ وارو نہ آهي.

موجوده دنيا ۾ جن ماڻهن کي موقعا حاصل آهن، اُهي حق کي نظرانداز ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندا آهن. پر موت کان پوءِ جڏهن هو پنهنجي سرڪشي جو انجام ڏسندا تہ انهن کي پنهنجي ماضي تي ايتري قدر شرم ايندو جو هو چاهيندا تہ جيڪڏهن انهن کي ٻيهر مهلت ملي تہ هو موجوده دنيا ۾ اچي خود پنهنجي ترديد ڪن ۽ ان شيءِ کي مڃي وٺن جن جو ان کان اڳ انهن فخر سان انڪار ڪري ڇڏيو هو.

حق جي مخالفت خدا جي مخالفت آهي. جنهن حق سان خدا هجي، ان جي مخالفت ڪرڻ وارا هميشہ ناڪام رهندا آهن. چاهي هو ان جي خلاف ڪيڏين وڏين تيارين سان آيا هجن جيڪي جبلن کي لوڏي ڇڏڻ لاءِ بہ ڪافي هجن.

فَلَا تَحْسَبَنَّ اللّٰهَ مُخْلِفَ وَعْدِهٖ رُسُلَهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ ذُو انْتِقَامٍ ﴿۴۷﴾ يَوْمَ تُبَدَّلُ الْاَرْضُ غَيْرَ الْاَرْضِ وَ السَّمٰوٰتُ وَ بَرَزُوْا لِلّٰهِ الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ ﴿۴۸﴾ وَ تَرَى الْمُجْرِمِيْنَ

يَوْمَىِٕذٍ مُّقَرَّنِيْنَ فِي الْاَصْفَادِ ﴿۴۹﴾ سَرَابِيْلُهُمْ مِّنْ قَطِرَانٍ وَّ تَغْشٰى وُجُوْهَهُمُ النَّارُ ﴿۵۰﴾
لِيَجْزِيَ اللّٰهُ كُلَّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۵۱﴾ هٰذَا بَلٰغٌ لِّلنَّاسِ وَ
ع ١٩ لِيُنْذَرُوْا بِهٖ وَلِيَعْلَمُوْٓا اَنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ وَّلِيَذَّكَّرَ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿۵۲﴾

پوءِ تون الله کي پنهنجن پيغمبرن سان وعده خلافي ڪرڻ وارو نه سمجهه. بيشڪ الله زبردست آهي، بدلو وٺڻ وارو آهي. جنهن ڏينهن هِي زمين ٻي زمين ۾ بدلجي ويندي ۽ آسمان به. ۽ سڀ هڪ زبردست الله جي سامهون پيش ٿيندا. ۽ تون ان ڏينهن مجرمن کي زنجيرن ۾ جڪڙيل ڏسندين. سندن لباس گندرف جا هوندا ۽ سندن چهرن کي باهه وڪوڙيندي. ته جيئن الله هر شخص کي ان جي ڪمائي جو بدلو ڏي. بيشڪ الله جلد حساب وٺڻ وارو آهي. اِهو ماڻهن جي لاءِ هڪ اعلان آهي ۽ ته جيئن ان جي ذريعي اُهي ڊيڄاريا وڃن. ۽ ته جيئن هو ڄاڻي وٺن ته اُهو ئي هڪ معبود آهي ۽ ته جيئن عقل وارا ماڻهو نصيحت حاصل ڪن. ٤٧-٥٢

---

پيغمبر خدا جي دين جي شاهدي پنهنجي ڪامل صورت ۾ ڏيندو آهي. ان ڪري پيغمبر سان خدا جي مدد به پنهنجي ڪامل صورت ۾ ايندي آهي. بعد ۾ پيروي ڪرڻ وارا جيترو پيغمبر جي نموني تي پورو لهندا ويندا، اوترا ئي خدا جي مدد جا مستحق ٿيندا ويندا.

اڄ انسان زمين تي ائين محسوس ڪندو آهي جڻ ته هو بر ۽ بحر جو مالڪ آهي. هو فضائن ۽ خلا کي ڪنٽرول ڪري ٿو سگهي. هو اختيار رکي ٿو ته هِتي جي وسيلن کي جهڙي طرح چاهي استعمال ڪري ۽ جهڙي طرح چاهي استعمال نه ڪري. پر اِهو سڀ ڪجهه رڳو ان ڪري آهي جو خدا امتحان جي مدت تائين زمين ۽ آسمان کي انسان جي لاءِ مسخر ڪري ڇڏيو آهي. امتحان جي مدت ختم ٿيندي ئي حالتون بالڪل بدلجي وينديون. ان ڪانپوءِ زمين به ٻي زمين ٿي ويندي ۽ آسمان به ٻيو آسمان. انسان اوچتو پاڻ کي هڪ ٻي دنيا ۾ ڏسندو.

جتي ماڻهو خود کي حڪمران سمجهندو هو، اُتي سچي حڪومت صرف خدا جي لاءِ ٿي چڪي هوندي، جتي هر شيءِ ماڻهو جي حڪم جي تابع هئي، اُتي هر شيءِ ان جي تابعداري ڪرڻ ڇڏي ڏيندي. موجوده دنيا ۾ جيڪي ماڻهو وڏا بڻيل هئا، اُهي ان ڏينهن بيوس مجرم جي روپ ۾ نظر ايندا. جيڪو لباس اڄ جسم کي زينت ڏيندو آهي اُهو ان ڏينهن اهڙو ٿي ويندو جڻ جسم جي مٿان گندرف. رونق وارا چهرا ان ڏينهن باهه ۾ سڙيل هوندا ۽ اهو سڀ ڪجهه انهن ماڻهن سان ٿيندو جيڪي دنيا ۾ خدا جو ٻانهو بڻجي رهڻ تي راضي نه هئا جن خدا طرفان ٿيڻ واري اعلان کي نظر انداز ڪيو.

حقيقت جو حقيقت هئڻ ڪافي نه آهي جو ماڻهو ان کي مڃي وٺي. حقيقت کي مڃڻ جي لاءِ ضروري آهي ته ماڻهو خود به ان کي مڃڻ چاهي. جيڪو ماڻهو حقيقت جي معاملي ۾ سنجيده هوندو جيڪو خالي ذهن ٿي ڪري ان کي ٻڌندو، اهوئي حقيقت کي سمجهي سگهندو ۽ اُهو ئي حقيقت جو صحيح طور استقبال ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو.

ايٰاتها ٩٩ (١٥) سُوۡرَةُ الۡحِجۡرِ مَكِّيَّةٌ (٥٤) رڪوعاتها ٦

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الٓرٰ ۚ تِلۡكَ اٰيٰتُ الۡكِتٰبِ وَ قُرۡاٰنٍ مُّبِيۡنٍ ﴿١﴾
رُبَمَا يَوَدُّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لَوۡ كَانُوۡا مُسۡلِمِيۡنَ ﴿٢﴾ ذَرۡهُمۡ يَاۡكُلُوۡا وَ يَتَمَتَّعُوۡا وَ يُلۡهِهِمُ الۡاَمَلُ
فَسَوۡفَ يَعۡلَمُوۡنَ ﴿٣﴾ وَ مَاۤ اَهۡلَكۡنَا مِنۡ قَرۡيَةٍ اِلَّا وَ لَهَا كِتَابٌ مَّعۡلُوۡمٌ ﴿٤﴾ مَا تَسۡبِقُ مِنۡ اُمَّةٍ
اَجَلَهَا وَ مَا يَسۡتَاۡخِرُوۡنَ ﴿٥﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

الف-لام-را- هِي ڪتاب جون آيتون آهن ۽ هڪ واضح قرآن جون. اُهو وقت ايندو جڏهن انڪار ڪرڻ وارا ماڻهو خواهش ڪندا تہ ڪاش هو مڃڻ وارا هجن ها. انهن کي ڇڏي ڏي تہ هو کائين ۽ فائدو ڪٽي وٺن ۽ اجايون اميدون کين غافل ڪري ڇڏين. پوءِ جلد ئي کين خبر پئجي ويندي. ۽ اسان ان کان پهرين جنهن بستي کي بہ هلاڪ ڪيو آهي ان جو هڪ مقرر وقت لکيل هو. ڪا بہ قوم نہ پنهنجي مقرر وقت کان اڳيان وڌندي ۽ نہ وري پوئتي هٽندي. ١-٥

دنيا ۾ انسان کي جيڪا آزادي مليل آهي، اُها رڳو امتحان جي مدت تائين جي لاءِ آهي. اِها هڪ تمام نازڪ صورتحال آهي. جيڪڏهن ماڻهو سنجيدگيءَ سان ان کي سوچي تہ هُو ائين محسوس ڪندو تہ جيڪا مدت سياڻي ختم ٿيڻ واري آهي، اُها ڇڻ اڄ ختم ٿي چڪي آهي. اِهو خيال ان کي لوڏي ڇڏيندو. پر ماڻهو رڳو ”اڄ“ ۾ جيئندو آهي، هو ”سڀاڻي“ تي ڌيان نہ ٿو ڏي. ان جي سامهون حقيقت کولي ويندي آهي، پر هُو خوش فهمين ۾ مبتلا ٿي رهجي ويندو آهي. هُو هٿ ٺوڪيل ڪجھ فرضي سهارا تلاش ڪري وٺندو آهي ۽ سمجهي ٿو تہ اِهي سهارا فيصلي جي وقت ان جي ڪم ايندا. پر غفلت ۽ خوش گماني جو طلسم ان وقت ٽٽي ويندو آهي جڏهن مدت ختم ٿيندي آهي ۽ خدا جا فرشتا ان وٽ اچي ويندا آهن تہ جيئن ان کي امتحان جي دنيا مان ڪڍي انجام جي دنيا ۾ پهچائي ڇڏين.

ان وقت ان کي اُهي موقعا ياد اچڻ لڳندا آهن، جڏهن هُن هڪ سچي دليل کي ڪوڙن لفظن جي ذريعي رد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. جڏهن هن ضمير جي آواز کي ڇڏي پنهنجن خواهشن جي پيروي ڪئي هئي. جڏهن هن خدا جي داعيءَ ۾ خدا جون جهلڪيون پائڻ جي باوجود ذاتي تڪبر جي ڪري ان کي نظرانداز ڪري ڇڏيو هو. جڏهن هو ڏسندو تہ منهنجي ڪا تدبير منهنجي ڪم نہ آئي، تہ هو چوندو تہ ڪاش مون اهو نہ ڪيو هجي ها جيڪو مون ڪيو. ڪاش آئون ”منڪر“ جو طريقو اختيار ڪرڻ جي بجاءِ ”مسلم“ جو طريقو اختيار ڪريان هان.

وَ قَالُوْا يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْ نُزِّلَ عَلَيْهِ الذِّكْرُ اِنَّكَ لَمَجْنُوْنٌ۝۶ لَوْ مَا تَاْتِيْنَا بِالْمَلٰٓىِٕكَةِ اِنْ
كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ۝۷ مَا نُنَزِّلُ الْمَلٰٓىِٕكَةَ اِلَّا بِالْحَقِّ وَ مَا كَانُوْۤا اِذًا مُّنْظَرِيْنَ۝۸

۽ هِي ماڻهو چوندا آهن تہ اي شخص! جنهن تي نصيحت لٿي آهي تون بيشڪ ديوانو آهين. جيڪڏهن تون سچو آهين تہ اسان وٽ فرشتن کي ڇو نہ ٿو آڻين. اسان فرشتن کي رڳو فيصلي جي لاءِ موڪليندا آهيون ۽ ان وقت ماڻهن کي مهلت نہ ڏني ويندي. ٦-٨

---

پيغمبر جي مخاطبن پيغمبر تي ديوانگي جو شڪ ڪيو. ان جي وجھ کهڙي هئي. ان جي وجھ پيغمبر جي دعوت هئي. جنهن جو مطلب اِهو هو تہ ”آئون خدا جو نمائندو آهيان، جيڪو ماڻهو منهنجي ڳالھ مڃيندو، اُهو ڪامياب ٿيندو ۽ جيڪو ماڻهو نہ مڃيندو اُهو ناڪام ٿي رهجي ويندو“

پر اِهي مخاطب عملي طور تي جيڪو ڪجھ ڏسي رهيا هئا، اُهو ان جي ابتڙ هو. انهن جو پنهنجو حال اهو هو تہ انهن کي سماج ۾ سرداري ۽ پيشوائي جو مقام حاصل هو. ٻئي طرف پيغمبر هڪ غير رواجي دين جو داعي هئڻ جي ڪري سماج ۾ بي حيثيت ۽ اجنبي بڻيل هو. ان فرق جي ڪري مخاطبن کي هِي چوڻ جي جرائت ٿي تہ تون اسان کي ديوانو لڳندو آهين. هر قسم جون دنياوي پلايون تہ خدا اسان کي ڏئي رکيون آهن ۽ تون چوين ٿو تہ ڪاميابي تنهنجي لاءِ آهي ۽ تنهنجو ساٿ ڏيڻ وارن جي لاءِ.

پر انهن جو اِهو چوڻ مسئلي کي مختلف انداز سان ڏسڻ جي ڪري هو. هو پنهنجن شين کي ”انعام“ طور ڏسي رهيا هئا، حالانڪ اِهي سڀ شيون رڳو ”آزمائش“ جو سامان آهن جيڪي موجوده دنيا ۾ ڪنهن کي وقتي طور تي ڏني ويون آهن.

اُهي اهوبہ چوندا هئا تہ تنهنجي دعويٰ جي مطابق تو وٽ خدا جا فرشتا ايندا آهن تہ اِهي فرشتا اسان کي ڇو نہ ٿا ڏسڻ ۾ اچن. اِهو بہ مختلف انداز ۾ ڏسڻ جي فرق جي ڪري هو. پيغمبر وٽ جيڪو فرشتو ايندو آهي، اُهو وحيءَ جو فرشتو هوندو آهي جيڪو خدا جو ڪلام پيغمبر تائين پهچائي ٿو. ان کان علاوه خدا جا اُهي فرشتا بہ آهن جيڪي ان لاءِ ايندا آهن تہ هو حقيقت کي ماڻهن جي سامهون بي نقاب ڪري ڇڏين. پر اُهي دعوت جي تڪميل ڪانپوءِ ايندا آهن ۽ جڏهن اُهي ايندا آهن تہ اِهو فيصلو ڪرڻ جو وقت هوندو آهي نہ وري ايمان ڏانهن سڏڻ جو.

اِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَ اِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ۝۹

هِي نصيحت (ڪتاب) اسان ئي نازل ڪيو آهي ۽ اسان ئي ان جا محافظ آهيون. ٩

---

قرآن کي خدا نازل ڪيو آهي ۽ اهوئي ان جي حفاظت ڪرڻ وارو آهي. قرآن جي نازل ٿيڻ وقت هِن ارشاد جا سڌا سنوان مخاطب قريش هئا. پر وسيع معنيٰ ۾ هِي پوري انسانيت جي لاءِ هڪ چئلينج هو. اهڙي طرح ستين صدي عيسوي کان وٺي قيامت تائين جي انسانن جي سامهون هڪ اهڙو قطعي معيار رکيو ويو آهي، جنهن تي جانچي هو ڏسي سگهن تہ قرآن واقعي خدا جو ڪتاب آهي يا نہ.

جنهن وقت اِهو چئلينج ڏنو ويو، ان وقت سڀئي ظاهري حالتون ان جي سراسر خلاف هيون.

ڪنهن اختلافي ڪتاب کي مستقل طور تي محفوظ رکڻ جي لاءِ طاقتور جماعت گهرجي ۽ قرآن نازل ٿيڻ وقت قرآن وارا پنهنجن دشمنن جي مقابلي ۾ بلڪل ڪمزور هئا. ڪاغذ ۽ پريس جو دؤر به اڃا دنيا ۾ نه آيو هو، جنهن موجوده زماني ۾ ڪنهن ڪتاب جي حفاظت کي گهڻو آساني بڻائي ڇڏيو آهي. ڪتاب جهڙي هڪ شيءِ کي محفوظ رکڻ جي لاءِ ان جي زبان کي محفوظ رکڻ به لازمي طور تي ضروري هو، جڏهن ته تاريخ ٻڌائي ٿي ته ڪا زبان ڪڏهن مستقل طور تي باقي نه ٿي رهي. قرآن موجوده سائنسي دؤر کان گهڻو اڳ روايتي دور ۾ آيو هو. اهڙي حالت ۾ ان جي زنده ۽ محفوظ رهڻ جي لاءِ ضروري هو ته ان جا مضمون ابدي جانچ ۾ پورا لهن.

اُنهن سڀني چئلينجن جو مقابلو ڪندي قرآن پوري طرح محفوظ رهيو ۽ اڄ به پوري طرح محفوظ آهي. هِي اُن ڳالهه جو قطعي ثبوت آهي ته هِي خدا جو ڪتاب آهي. ڏيڍ هزار سال اڳ جي دور ۾ تيار ٿيل ڪو به ڪتاب اهڙي طرح زنده ۽ محفوظ نه آهي جهڙي طرح قرآن اڄ زنده ۽ محفوظ آهي.

وَ لَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا مِنۡ قَبۡلِكَ فِیۡ شِیَعِ الۡاَوَّلِیۡنَ ﴿۱۰﴾ وَ مَا یَاۡتِیۡهِمۡ مِّنۡ رَّسُوۡلٍ اِلَّا كَانُوۡا بِهٖ
یَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ﴿۱۱﴾ كَذٰلِكَ نَسۡلُكُهٗ فِیۡ قُلُوۡبِ الۡمُجۡرِمِیۡنَ ﴿۱۲﴾ لَا یُؤۡمِنُوۡنَ بِهٖ وَ قَدۡ خَلَتۡ سُنَّةُ
الۡاَوَّلِیۡنَ ﴿۱۳﴾ وَ لَوۡ فَتَحۡنَا عَلَیۡهِمۡ بَابًا مِّنَ السَّمَآءِ فَظَلُّوۡا فِیۡهِ یَعۡرُجُوۡنَ ﴿۱۴﴾ لَقَالُوۡۤا اِنَّمَا
سُكِّرَتۡ اَبۡصَارُنَا بَلۡ نَحۡنُ قَوۡمٌ مَّسۡحُوۡرُوۡنَ ﴿۱۵﴾ ع

۽ اسان توکان اڳ ۾ گذري ويل قومن ۾ رسول موڪلي چڪا آهيون. ۽ جيڪو رسول به انهن وٽ آيو، هُو اُن تي ٺٺوليون ڪندا رهيا. اهڙي طرح اسان هِي (ٺٺول) مجرمن جي دلين ۾ وجهي ڇڏيندا آهيون. هو ان تي ايمان نه آڻيندا ۽ اِها ريت اڳين کان هلندي پئي اچي. ۽ جيڪڏهن اسان مٿن آسمان مان ڪو دروازو کوليون ها جو هو مٿي چڙهندا وڃن ها، تڏهن به هو چون ها ته اسان جي اکين کي ڌوکو ٿي رهيو آهي، بلڪ اسان تي جادو ڪيو ويو آهي. ١٠-١٥

---

هر دور ۾ خدا جي پيغمبرن جو مذاق اُڏايو ويو آهي. ان جي وجهه اِها هئي ته ماڻهن جيڪو فرضي معيار ڪنهن کي خدا جو نمائندو قرار ڏيڻ جي لاءِ بڻائي رکيو هو، ان تي انهن جا پيغمبر پورا نه لهندا هئا، ان معيار جي لحاظ کان پيغمبر انهن کي گهٽ نظر ايندو هو. ان ڪري ماڻهن پيغمبرن کي ٺٺول جو موضوع بڻائي ورتو.

ڪنهن نئين حقيقت کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهي ته ماڻهو کلي ذهن سان سوچي ۽ خالص واقعن جي بنياد تي راءِ قائم ڪرڻ جي لاءِ تيار هجي. جيڪي ماڻهو سچائيءَ جو انڪار ڪندا آهن، اُهي اڪثر ان ڪري ائين ڪندا آهن جو سچائي انهن کي سندن معيار جي لحاظ کان اجنبي معلوم ٿيندي آهي. اِهو ئي معيار ڊگهي عرصي کانپوءِ انهن جي دل ۾ ائين رچي وڃي ٿو جو ان کان ٻاهر نڪري سوچڻ سندن لاءِ ناممڪن ٿي ويندو آهي. هو آخري وقت تائين به پنهنجي دائري کان ٻاهر جي سچائي کي سڃاڻي نه ٿا سگهن.

قومن جي اُن ئي مزاج جو نتيجو هو جو معجزن کي ڏسي بہ ماڻهن ايمان نہ آندو. جنهن شخصيت جي باري ۾ اُن جي مادي حالتن جي ڪري سندن اِهو ذهن بڻجي ويو هو تہ هي هڪ معمولي ماڻهو آهي، اُهو پوءِ سندن نظر ۾ معمولي ئي رهيو. پوءِ جڏهن ان پيغمبر معجزو بہ ڏيکاريو تہ انهن سمجهيو تہ هي ڪو جادو يا نظربندي آهي نہ ڪي حقيقت ۾ اُن جي خدا جي نمائندي هئڻ جو ثبوت.

وَ لَقَدۡ جَعَلۡنَا فِی السَّمَآءِ بُرُوۡجًا وَّ زَیَّنّٰهَا لِلنّٰظِرِیۡنَ ﴿۱۶﴾ وَ حَفِظۡنٰهَا مِنۡ کُلِّ شَیۡطٰنٍ رَّجِیۡمٍ ﴿۱۷﴾ اِلَّا مَنِ اسۡتَرَقَ السَّمۡعَ فَاَتۡبَعَهٗ شِهَابٌ مُّبِیۡنٌ ﴿۱۸﴾

۽ اسان آسمان ۾ برج بڻايا ۽ ڏسڻ وارن لاءِ اُن کي سينگاريو سون. ۽ اُن کي شيطان مردود کان محفوظ ڪيوسون. جيڪڏهن ڪو چوريءَ ٻڌي تنهن جي پويان هڪ روشن شعلو پوندو آهي. ١٦-١٨

ڪائنات ۾ بي شمار ستارا پکڙيل آهن. پر اهي ستارا مجموعن جي صورت ۾ آهن. هر هڪ مجموعي کي هڪ ڪهڪشان چيو ويندو آهي، تي سگهي ٿو تہ برجن مان مراد اِهي ڪهڪشائون هجن.

زيّنّها للنّٰظرين مان رڳو ”زينت“ مراد نہ آهي، بلڪ آسمان جو اُهو حيران ڪندڙ منظر مراد آهي جيڪو رات جي وقت هوندو آهي. رات جو جڏهن ڪڪر ۽ ڌُوڙ نہ هجي، کليل ميدان ۾ بيهي آسمان تي نظر وجهبي تہ وسيع آسمان ۾ چمڪندڙ ستارن جو منظر ايترو حيران ڪندڙ ۽ شاندار هوندو آهي جو ماڻهو اُن کي ڏسي خدا جي عظمت ۽ جلال جي احساس ۾ گُم ٿي وڃي.

جيڪي ماڻهو پيغمبر ﷺ کي چوندا هئا تہ آسمان مان فرشتو لهندي اسان کي ڏيکار، انهن کي چيو ويو تہ تارن سان ڀريل آسمان جو اُهو منظر جيڪو هر روز توهان جي سامهون ظاهر ڪيو ويندو آهي، چا اِهو توهان جي شعور کي جاڳائڻ ۽ توهان جي دلين کي نرم ڪرڻ لاءِ گهٽ آهي جو توهان ٻين معجزن جي تقاضا ڪريو ٿا.

زمين تي انسان سان گڏ شيطان بہ آباد آهن. هتي شيطانن کي پوري آزادي آهي جو هو جيڏانهن چاهين وڃي سگهن ٿا ۽ جهڙي طرح چاهين ماڻهن کي گمراهہ ڪن. پر زمين کان ٻاهر جيڪا خدا جي دنيا آهي، ان ۾ شيطانن جي پرواز کي روڪڻ لاءِ عبور نہ ٿيندڙ رڪاوٽون قائم ڪيون ويون آهن. اُهي هڪ خاص حد کان پوءِ اُن جي اندر داخل نٿا ٿي سگهن.

وَ الۡاَرۡضَ مَدَدۡنٰهَا وَ اَلۡقَیۡنَا فِیۡهَا رَوَاسِیَ وَ اَنۡۢبَتۡنَا فِیۡهَا مِنۡ کُلِّ شَیۡءٍ مَّوۡزُوۡنٍ ﴿۱۹﴾ وَ جَعَلۡنَا لَکُمۡ فِیۡهَا مَعَایِشَ وَ مَنۡ لَّسۡتُمۡ لَهٗ بِرٰزِقِیۡنَ ﴿۲۰﴾

۽ اسان زمين کي پکيڙيو ۽ ان ۾ اسان جبل رکي ڇڏيا ۽ ان ۾ هر شيءِ هڪ اندازي سان پيدا ڪئي. ۽ اسان توهان جي لاءِ اُن ۾ معيشت جا اسباب بڻايا ۽ اُهي شيون جن کي توهان روزي ڏيندڙ نہ آهيو. ١٩-٢٠

جاگرافيائي مطالعو ٻڌائي ٿو تہ زمين شروع ۾ خشڪ گولي جي صورت ۾ هئي، پوءِ اُها ڦاٽي جنهن جي ڪري سمنڊ جون گهرائيون پيدا ٿيون ۽ ان ۾ پاڻي جمع ٿي ويو. انهن گهرائين جو توازن رکڻ جي لاءِ زمين تي جڳهہ جڳهہ وڏا جبل اڀري آيا.

ان ڪانپوءِ زمين تي وڻ ٽڻ ۽ حيوانات وجود ۾ آيا ۽ خوب ڦهلجي ويا. انهن ۾ هر هڪ جي اندر وڌڻ جي لامحدود صلاحيت آهي. پر انهن کي ڏسڻ سان صاف معلوم ٿيندو آهي ته هر هڪ جو هڪ اندازو مقرر آهي. هر شيءِ وڌندي وڌندي هڪ خاص حد تي رڪجي ويندي آهي، هو اُن کان اڳيان نه ٿي وڌي سگهي.

مثال طور ٻوٽن ۽ وڻن ۾ پنهنجي نسل وڌائڻ جي ايتري وڏيڪ قوت آهي ته جيڪڏهن ڪنهن هڪ ٻوٽي کي ان جي اندروني قوت جي لحاظ کان بغير روڪ ٽوڪ جي وڌڻ ڏنو وڃي ته ڪجهه سالن جي اندر سڄي زمين تي هر طرف اِهوئي ٻوٽو نظر ايندو. ڪنهن ٻي شيءِ جي لاءِ هتي ڪا جڳهه باقي نه رهندي، پر ائين معلوم ٿيندو آهي ته ڪو زبردست ناظم آهي جيڪو هر هڪ تي ڪنٽرول رکي ٿو. اِهوئي معاملو حيوانن جو آهي. انهن جي اندر به نسل وڌائڻ جي لامحدود صلاحيت آهي. پر هر هڪ جو تعداد هڪ حد تائين پهچي رڪجي ٿو وڃي. اهڙي طرح حيوانن ۾ پنهنجي جسم کي وڌائڻ جي قوت ايتري وڏيڪ آهي جو هڪ جيت کي وڌڻ ڏنو وڃي ته هو هاٿيءَ جي برابر ٿي وڃي، پر قدرت جو ڪنٽرول هڪ خاص حد تي ان جي جسم کي روڪي ڇڏيندو آهي. جيڪڏهن شيون پنهنجي حد تي نه رڪجن ته زمين تي انسان جي رهائش ناممڪن ٿي وڃي.

انسان کي پنهنجي معيشت ۽ ترقي جي لاءِ بيشمار شيون گهربل آهن. اِهي سيئي شيون اسان جي ضرورت مطابق زمين تي مهيا ڪيون ويون آهن. انهن سيني شين جي فراهمي ۽ هر هڪ جي بقا جو انتظام خدا جي طرفان آهي. جيڪڏهن اسان کي انهن کي انهن جو رزق ڏيڻو پوي ته اسان جي لاءِ ان کي حاصل ڪرڻ ناممڪن ٿي وڃي.

وَاِنۡ مِّنۡ شَیۡءٍ اِلَّا عِنۡدَنَا خَزَآئِنُهٗ ۫ وَمَا نُنَزِّلُهٗۤ اِلَّا بِقَدَرٍ مَّعۡلُوۡمٍ ﴿۲۱﴾ وَاَرۡسَلۡنَا الرِّیٰحَ
لَوَاقِحَ فَاَنۡزَلۡنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَسۡقَیۡنٰکُمُوۡهُ ۚ وَمَاۤ اَنۡتُمۡ لَهٗ بِخٰزِنِیۡنَ ﴿۲۲﴾

۽ ڪابه اهڙي شيءِ نه آهي جنهن جا خزانا اسان وٽ نه هجن ۽ اسان ان کي هڪ مقرر اندازي سان ئي لاهيندا آهيون. ۽ اسان ئي ڪکر ڪٽندڙ هوائن کي هلائيندا آهيون. پوءِ اسان آسمان مان پاڻي وسائيندا آهيون، پوءِ اُهو اوهان کي پيئاريندا آهيون. ۽ توهان جي وس ۾ نه هو جو توهان اُن کي گڏ ڪري رکي سگهو. ٢١-٢٢

---

حد بندي جو اصول ڪائنات جي سيني شين ۾ رائج آهي. هوا هڪ حد جي اندر هلندي آهي، حالانڪ خدا ڪڏهن ڪڏهن ڏيکاريندو آهي ته اِها طوفان به بڻجي سگهي ٿي. سج هڪ خاص فاصلي تي آهي. جيڪڏهن هو اُن کان پري هليو وڃي ته زمين برف وانگر ڄمي وڃي. سج هيٺ اچي وڃي ته زمين باهه جي بٺي بڻجي وڃي. زمين جي ڪشش نهايت مناسب مقدار ۾ آهي. جيڪڏهن زمين جي جسامت ٻيڻي هجي ها ته اُن جي ڪشش ايتري وڌي وڃي ها جو ماڻهو پنهنجي وزن جي ڪري زمين تي نه هلي سگهي ها ۽ جيڪڏهن زمين جي جسامت موجوده جسامت کان اڌ هجي ها ته ان جي ڪشش ايتري گهٽجي وڃي ها جو ماڻهو ۽ سندس گهر هلڪا ٿيڻ جي ڪري زمين تي بيهي نه سگهن ها. اِهوئي حال انهن سيني شين جو آهي جن سان گڏ انسان زمين تي رهندو آهي. هر شيءِ جو هڪ اندازو مقرر آهي اُهو نه اُن کان

گهٽبو آهي ۽ نه اُن کان وڌندو آهي.

زمين تي انسان ۽ سڀني جاندارن جي زندگي جو دارومدار پاڻي تي آهي. زير زمين پاڻي جي ذخيرن کان وٺي فضا ۾ ڪڪرن تائين پاڻي جي فراهمي جو نظام ايڏو عجيب ۽ ايڏو عظيم پيماني تي آهي، جنهن جو قائم ڪرڻ هرگز انسان جي وس ۾ نه آهي. اُن عجيب ۽ عظيم انتظام کي خدا مسلسل انساني ضرورت مطابق قائم رکيو آهي.

انسان هڪ بيحد نازڪ مخلوق آهي. سندس ماحول ۾ ڪوبه فرق اُن جي پوري هستي کي برباد ڪري ڇڏڻ جي لاءِ ڪافي آهي. اهڙي حالت ۾ بيشمار جزن جي هڪ ڪائنات لاتعداد امڪانن جي هئڻ جي باوجود بلڪل اُن ئي خاص انداز تي قائم آهي جيڪا انسان جهڙي هڪ مخلوق جي لاءِ مناسب آهي. هي اعتدال ۽ تناسب هرگز اتفاقي نٿو ٿي سگهي. يقينًا اُن جو ڪو زبردست خالق ۽ ناظم آهي. اِهڙي حالت ۾ جيڪو ماڻهو خدا کي نه مڃي يا خدا کي مڃي اُن جو شريڪ ٻڌائي ته اُهو رڳو پنهنجي بي عقل هئڻ جو ثبوت ڏئي رهيو آهي نه وري توحيد جي عقيدي جو عقل جي خلاف هجڻ.

وَ اِنَّا لَنَحۡنُ نُحۡیٖ وَ نُمِیۡتُ وَ نَحۡنُ الۡوٰرِثُوۡنَ ﴿۲۳﴾ وَ لَقَدۡ عَلِمۡنَا الۡمُسۡتَقۡدِمِیۡنَ مِنۡکُمۡ وَ لَقَدۡ عَلِمۡنَا الۡمُسۡتَاۡخِرِیۡنَ ﴿۲۴﴾ وَ اِنَّ رَبَّکَ هُوَ یَحۡشُرُهُمۡ ؕ اِنَّهٗ حَکِیۡمٌ عَلِیۡمٌ ﴿۲۵﴾

۽ بيشڪ اسان ئي جيئاريندا آهيون ۽ اسان ئي ماريندا آهيون. ۽ اسان ئي باقي رهنداسون ۽ اسان توهان جي اڳين کي به ڄاڻون ٿا ۽ توهان کان پوءِ ايندڙن کي به ڄاڻون ٿا. ۽ بيشڪ تنهنجو رب انهن سڀني کي گڏ ڪندو. هو علم وارو آهي، حڪمت وارو آهي. ٢٣-٢٥

---

دنيا ۾ انسان کي آباد ڪرڻ، پوءِ هتان اُن کي ڪٽي وٺڻ خدا طرفان هوندو آهي. جيڪڏهن اِهو انسان جي مرضي سان هجي ها ته هو ڪڏهن به هتي نه اچي سگهي ها ۽ اچڻ کان پوءِ ڪڏهن به هتان واپس نه وڃي ها. اُن مان ئي اِهو ثابت ٿيندو آهي ته انسان جي پيدائش کان پهرين به زمين ۽ آسمان خدا جا هئا ۽ اُن کان پوءِ به اُهي خدا جا رهندا.

زمين تي لاتعداد شيون آهن. پر هر هڪ ۾ انفراديت آهي. هر شيءِ اُهو ئي خاص ۽ مقرر ڪردار ادا ڪندي آهي جيڪو اُن کي ادا ڪرڻ گهرجي. اُن مان ثابت ٿيو ته زمين جو خالق هر هڪ شيءِ جو انفرادي علم رکندو آهي. هُن اُن هر شيءِ کي سندس خاص ڪم ۾ لڳائي ڇڏيو آهي، ايستائين جو هڪ ماڻهو جي هٿ جي آڱوٺي تي جيڪو نشان هوندو آهي، اُهو به سڀني ٻين انسانن کان بلڪل مختلف هوندو آهي. هڪ ماڻهو جي آڱوٺي جو نشان وري ڪنهن به ٻئي انسان جي آڱوٺي جهڙو نه ٿاهيو ويندو آهي.

اهڙي قادر ۽ باخبر خدا جي لاءِ ڪهڙي مشڪل آهي جو هو هر ماڻهو جو الڳ الڳ حساب وٺي ۽ هر هڪ سان اُهو ئي معاملو ڪري جنهن جو هو واقعي مستحق آهي.

وَ لَقَدۡ خَلَقۡنَا الۡاِنۡسَانَ مِنۡ صَلۡصَالٍ مِّنۡ حَمَاٍ مَّسۡنُوۡنٍ ﴿۲۶﴾ وَ الۡجَآنَّ خَلَقۡنٰهُ مِنۡ قَبۡلُ مِنۡ نَّارِ السَّمُوۡمِ ﴿۲۷﴾

۽ اسان انسان کي سڙيل گاري جي وڄندڙ مٽيءَ مان پيدا ڪيو ۽ ان کان اڳ ۾ جنن کي اسان ڇر واري باھ مان پيدا ڪيو. ٢٦-٢٧

---

انسان جو وجود ٻن شين جو مرڪب آهي. جسم ۽ ٻيو روح. جسم سڄي جو سڄو زمين جي مادي مان ٺهيل آهي. انساني جسم جو تجزيو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هو انهن جزن جي ترڪيب مان ٺهيل آهي، جنهن کي عام ٻولي ۾ پاڻي ۽ مٽي چئبو آهي. ڇڻ ته جسم جي لحاظ کان انسان سراسر هڪ زندگي کان خالي ۽ بي شعور وجود جو نالو آهي. پر جڏهن خدا ان جي اندر پاڻ وٽان روح وجهي ته اچانڪ اِهوئي جسم اِهڙين صلاحيتن جو مالڪ بڻجي ويندو آهي جيڪي ڪائنات ۾ ڪنهن ٻي مخلوق کي حاصل نه آهن.

هِتي ٻي مخلوق اُها آهي جنهن کي "جِنّ" چئبو آهي. جِنّ انسان جا دشمن آهن. جن باھ جي شعلي مان ٺاهيا ويا آهن. ڇڻ ته هُو پنهنجي پيدائش جي لحاظ کان ساڙڻ واري مخلوق آهن. جهڙي طرح مٽيءَ واري زمين پنهنجي پاڻ کي باھ واري سج کان پري رکندي آهي ته جيئن هو سڙي نه وڃي. اهڙي طرح انسان کي گهرجي ته هو پنهنجي پاڻ کي جنن کان بچائي، ٻي صورت ۾ اُهي ان کي اخلاقي ۽ ديني لحاظ کان ساڙي ڇڏيندا.

وَ اِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰٓىِٕكَةِ اِنِّيْ خَالِقٌۢ بَشَرًا مِّنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ ۝٢٨ فَاِذَا سَوَّيْتُهٗ وَ نَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ فَقَعُوْا لَهٗ سٰجِدِيْنَ ۝٢٩ فَسَجَدَ الْمَلٰٓىِٕكَةُ كُلُّهُمْ اَجْمَعُوْنَ ۝٣٠ اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ اَبٰۤى اَنْ يَّكُوْنَ مَعَ السّٰجِدِيْنَ ۝٣١ قَالَ يٰۤاِبْلِيْسُ مَا لَكَ اَلَّا تَكُوْنَ مَعَ السّٰجِدِيْنَ ۝٣٢ قَالَ لَمْ اَكُنْ لِّاَسْجُدَ لِبَشَرٍ خَلَقْتَهٗ مِنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ ۝٣٣

۽ جڏهن تنهنجي رب فرشتن کي چيو ته آئون سڙيل گاري جهڙي کڙڪندڙ مٽي مان هڪ بشر پيدا ڪرڻ وارو آهيان. جڏهن آئون اُن کي پورو ٺاهي وٺان ۽ ان ۾ پنهنجي روُح مان ڦوڪيان ته توهان ان جي لاءِ سجدي ۾ ڪِري پئجو. پوءِ سڀني ملائڪن سجدو ڪيو سواءِ ابليس جي، جو هُن سجدو ڪرڻ وارن جو ساٿ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. الله چيو ته اي ابليس! توکي ڇا ٿيو جو تون سجدي ڪرڻ وارن ۾ شامل نه ٿئين. ابليس چيو ته آئون اهڙو نه آهيان جو بشر کي سجدو ڪريان جنهن کي تو سڙيل گاري جهڙي کڙڪندڙ مٽيءَ مان پيدا ڪيو آهي. ٢٨-٣٣

---

ابليس سجدو نه ڪرڻ جو سبب اِهو ٻڌايو ته انسان منهنجي مقابلي ۾ ڪمتر آهي. پر حقيقت اِها آهي ته ان جو سبب خود ابليس جو پنهنجو احساس ڪمتري هو. هو اِهو ڏسي سڙي ويو ته آئون اڳ ۾ ئي ڪائنات ۾ آهيان، پوءِ مون کي اهڙي عزت نه ملي جو سڄي مخلوق کان مون کي سجدو ڪرايو وڃي ها ۽ انسان جيڪو هينئر پيدا ڪيو ويو آهي. ان کي سڄي مخلوق کان سجدو ڪرايو پيو وڃي. هن انسان کي سجدو ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. "انسان مون کان گهٽ آهي" جو مطلب هِي آهي ته سجدي جو مستحق اصل ۾ آئون هئس، پوءِ غير مستحق جي عزت افزائي کي آئون ڇو تسليم ڪريان. اهوئي تڪبر ۽ حسد سڀني اجتماعي خرابين جو بنياد آهي. موجوده دنيا ۾ اِهڙا موقعا انسان جي سامهون بار بار ايندا آهن جيڪو ماڻهو اهڙن موقعن تي ساڙ جي نفسيات ۾ مبتلا نه ٿئي ته ڄڻ ان فرشتن جي پيروي ڪئي ۽ جيڪو ماڻهو ساڙ يا حسد جو شڪار ٿي وڃي، اُهو ڄڻ ته شيطان جي پيروي ڪندڙ ٿيو.

قَالَ فَاخْرُجْ مِنْهَا فَاِنَّكَ رَجِيْمٌ ﴿٣٤﴾ وَّ اِنَّ عَلَيْكَ اللَّعْنَةَ اِلٰى يَوْمِ الدِّيْنِ ﴿٣٥﴾ قَالَ رَبِّ
فَاَنْظِرْنِيْٓ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿٣٦﴾ قَالَ فَاِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ ﴿٣٧﴾ اِلٰى يَوْمِ الْوَقْتِ الْمَعْلُوْمِ ﴿٣٨﴾

چيائين تون هِتان نڪري وڃ ڇاڪاڻ تہ تون مردود آهين ۽ بيشڪ توتي قيامت جي ڏينهن تائين لعنت آهي. ابليس چيو اي منهنجا رب! تون مون کي ان ڏينهن تائين مهلت ڏي جنهن ڏينهن ماڻهو اُٿاريا ويندا. الله چيو توکي مهلت آهي اُن مقرر وقت جي ڏينهن تائين. ٣٤-٣٨

---

انسان جي تخليق کان پوءِ حالتن جيڪو رخ اختيار ڪيو، انهن شيطان کي مستقل طور تي انسان جو دشمن بڻائي ڇڏيو. هاڻي قيامت تائين ماڻهو شيطان جي نشاني تي آهي. انسان لاءِ سڀني کان وڌيڪ قابل لحاظ ڳالهہ هي آهي جو هو شيطان جي فريب کان هوشيار رهي. موجوده دنيا ۾ اهوئي اُهو مقام آهي جتي انسان جي ڪاميابي جو فيصلو بہ ٿي رهيو آهي ۽ اُن ئي مقام تي اُن جي ناڪاميءَ جو بہ.

قَالَ رَبِّ بِمَآ اَغْوَيْتَنِيْ لَاُزَيِّنَنَّ لَهُمْ فِي الْاَرْضِ وَ لَاُغْوِيَنَّهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٣٩﴾ اِلَّا عِبَادَكَ
مِنْهُمُ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿٤٠﴾

ابليس چيو اي منهنجا رب! جيئن تو مون کي گمراهہ ڪيو آهي، تيئن آئون بہ زمين ۾ انهن لاءِ سينگاريندس ۽ سڀني کي گمراهہ ڪري ڇڏيندس سواءِ انهن جي جيڪي تنهنجا چونڊيل ٻانها آهن. ٣٩-٤٠

---

ابليس جي سامهون هڪ آزمائشي صورتحال آئي. اُن ۾ هُن شڪست کاڌي. هاڻي اُن جي لاءِ صحيح طريقو اِهو هو جو هو پنهنجي شڪست مڃي وٺي ها، پر اُن جي بجاءِ هُن ائين ڪيو جو خود خدا تي الزام ڏيڻ لڳو تہ اُن جيڪو ڪجھ ڪيو مون کي گمراهہ ڪرڻ جي لاءِ ڪيو. جنهن واقعي سان ان جي پنهنجي ڪمزوري ثابت ٿي رهي هئي، ان کي هن چاهيو تہ خدا تي ان جو الزام وجهي ڇڏي. پنهنجي شڪست جو ذميدار ٻين کي قرار ڏيڻ اُن ئي شيطاني طريقي جي پيروي آهي.

ابليس انسان کي سجدو نہ ڪرڻ جو سبب اِهو ٻڌايو تہ انسان کي مٽيءَ مان ٺاهيو ويو آهي ۽ مون کي باهہ مان. ان جو ڪو معقول سبب نہ آهي جو مٽيءَ جي مقابلي ۾ باهہ کي فضيلت ڇو حاصل هجي. پر ابليس جي پنهنجي سوچ ۾ هٽرادي تصور جي تحت ائين ٿيو جو مٽي حقير شيءِ بڻجي وئي ۽ باهہ افضل شيءِ. ان جو نالو ئي ”سينگارڻ“ آهي. اها هڪ نفسياتي شيءِ آهي نہ وري ڪا عقل جي ڳالهہ. ابليس پنهنجي غلطي مڃڻ جي بجاءِ اِهو فيصلوڪيو تہ هو ٻين کان بہ اُهائي غلطي ڪرائي. هو خود جنهن نفسياتي ڪمزوري جو شڪار ٿيو آهي، ان ئي نفسياتي ڪمزوري ۾ سڀني انسانن کي مبتلا ڪري ڇڏي.

ابليس چيو تہ تنهنجي چونڊيل ٻانهن کان سواءِ سڀني کي آئون گمراهہ ڪندس. اِهي خدا جا چونڊيل ٻانها ڪير آهن. هِي اُهي ماڻهو آهن جيڪي خدا جي مقابلي ۾ سڌي راهہ تي اچي چڪا هجن. يعني ٻانهپ جي راهہ. ٻين لفظن ۾ خدا جي مقابلي ۾ پنهنجي حقيقي حيثيت جي اعتراف جي راهہ.

قَالَ هٰذَا صِرَاطٌ عَلَيَّ مُسْتَقِيْمٌ ﴿٤١﴾ اِنَّ عِبَادِيْ لَيْسَ لَكَ عَلَيْهِمْ سُلْطٰنٌ اِلَّا مَنِ

اتَّبَعَكَ مِنَ الْغٰوِيْنَ۝۴۲ وَ اِنَّ جَهَنَّمَ لَمَوْعِدُهُمْ اَجْمَعِيْنَ۝۴۳ لَهَا سَبْعَةُ اَبْوَابٍ ؕ لِكُلِّ
بَابٍ مِّنْهُمْ جُزْءٌ مَّقْسُوْمٌ۝۴۴ ع ۱۹ ۳

الله فرمايو هي هڪ سڌو رستو آهي جيڪو مون تائين پهچندو آهي. بيشڪ جيڪي منهنجا ٻانها آهن، انهن تي تنهنجو زور نہ هلندو. سواءِ انهن گمراهن جي جيڪي تنهنجي پيروي ڪن. ۽ انهن سڀني لاءِ جهنم جو واعدو آهي. اُن جا ست دروازا آهن. هر دروازي لاءِ انهن ماڻهن مان الڳ الڳ حصا آهن. ٤١-٤٤

---

”صراط مستقيم“ جي تشريح مجاهد، حسن ۽ قتاده هي ڪئي آهي تہ اُن مان مراد حق جو رستو آهي جيڪو الله ڏانهن نڪرندو آهي ۽ اُن ئي تي ختم ٿيندو آهي. (طريق الحق مرجعها الي الله تعالىٰ واليه تنتهي- تفسير ابن ڪثير). جيڪڏهن ماڻهو شرڪ جي راهہ تي هلي تہ اُها راهہ خدا تائين نہ پهچندي، بلڪ شريڪن تائين پهچندي. ماڻهو جيڪڏهن سرڪشي جو طريقو اختيار ڪري تہ اُن جي منزل ماڻهوءَ جو پنهنجو وجود هوندو نہ ورِي خدا. جيڪڏهن هو بي قيد زندگي گذاري تہ هو مختلف رخن ۾ ڀٽڪندو. ان جو سفر خدا تي ختم نہ ٿو ٿي سگهي.

پر جڏهن ماڻهو صرف خدا کي پنهنجي توجهہ جو مرڪز بڻائيندو آهي ۽ اُن کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهي پنهنجي زندگي کي خدا جي رخ تي هلائيندو آهي تہ پوءِ اِها بلڪل قدرتي ڳالهہ آهي تہ اُن جو سفر خدا ڏانهن جاري رهي ۽ آخرڪار هو خدا تائين پهچي وڃي. خدا قادر آهي ۽ انسان عاجز. اُن ڪري خدا ۽ ٻانهي جي وچ ۾ هڪ ئي صحيح تعلق آهي ۽ اُها ٻانهپ جي نسبت آهي. ٻانهپ جو رستو اختيار ڪرڻ خدا سان پنهنجي صحيح نسبت جو ملي وڃڻ آهي. جنهن ماڻهوءَ جي نسبت خدا سان قائم ٿي وڃي اُن تي شيطان جو زور نہ ٿو هلي ۽ جنهن خدا سان پنهنجو لاڳاپو قائم نہ ڪيو، اُن جو تعلق شيطان سان قائم ٿي ويندو آهي. پوءِ اُهو شيطان جي مشورن تي هلڻ لڳندو آهي. ايستائين جو اُتي ئي پهچي ويندو آهي جتي آخرڪار شيطان کي پهچڻو آهي.

جهنم جيڪو شيطان ۽ اُن جي ساٿين جو آخري ٺڪاڻو آهي. اُن جا ست درجا آهن (قال عڪرمة سبعة ابواب سبعة اطباق- تفسير ابن ڪثير). جهنمي ماڻهو پنهنجي عملن جي فرق جي لحاظ کان ستن وڏن گروهن ۾ تقسيم ڪيا ويندا ۽ اُن جي مطابق جهنم جي ستن طبقن مان ڪنهن هڪ طبقي ۾ وڌا ويندا.

اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّ عُيُوْنٍ۝۴۵ اُدْخُلُوْهَا بِسَلٰمٍ اٰمِنِيْنَ۝۴۶ وَ نَزَعْنَا مَا فِيْ صُدُوْرِهِمْ
مِّنْ غِلٍّ اِخْوَانًا عَلٰى سُرُرٍ مُّتَقٰبِلِيْنَ۝۴۷ لَا يَمَسُّهُمْ فِيْهَا نَصَبٌ وَّ مَا هُمْ مِّنْهَا بِمُخْرَجِيْنَ۝۴۸
نَبِّئْ عِبَادِيْۤ اَنِّيْۤ اَنَا الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ۝۴۹ وَ اَنَّ عَذَابِيْ هُوَ الْعَذَابُ الْاَلِيْمُ۝۵۰

بيشڪ ڊڄڻ وارا باغن ۽ چشمن ۾ هوندا. داخل ٿي وڃو اُن ۾ سلامتي ۽ امن سان. ۽ سندن سيني ۾ جيڪو ڪينو هوندو سو اسان ڪڍي ڇڏينداسون. سڀئي ڀائرن وانگر رهندا. تختن تي آمهون سامهون ويٺل هوندا. اُتي کين ڪا تڪليف نہ پهچندي ۽ نہ هو اُتان ڪڍيا ويندا. منهنجي ٻانهن کي خبر ڏئي ڇڏ تہ آئون بخشڻ وارو رحمت وارو آهيان ۽ منهنجي سزا دردناڪ آهي. ٤٥-٥٠

---

جنت جي زندگي بي خوف زندگي هوندي. اُن جا مستحق اُهي ماڻهو قرار ڏنا ويندا جيڪي دنيا ۾ خدا کان ڊنا. دنيا ۾ خدا جو خوف آخرت جي بي خوفي جي قيمت آهي.

پاڻ ۾ رنجشون ٻن قسمن جون هونديون آهن. هڪ سرڪشي جي ڪري، ٻي غلط فهمي جي ڪري. سرڪشي جي ڪري رنجش ۽ دشمني پيدا ٿيڻ سيني کان وڏي اجتماعي برائي آهي. ايمان وارن کي اُن کي دنيا ۾ ئي ختم ڪري وٺڻ گهرجي. جيڪي ماڻهو اُن کي دنيا ۾ ختم نہ ڪن، اهي آخرت ۾ جهنم جو خطرو کڻي رهيا آهن.

ٻي رنجش اُها آهي جيڪا غلط فهمي جي ڪري پيدا ٿيندي آهي. اُها ڪڏهن ختم ٿي ويندي آهي ۽ ڪڏهن ٻنهي ڌرين جي اخلاص جي باوجود آخري وقت تائين باقي رهندي آهي. اِها ٻئي قسم جي رنجش آخرت ۾ مڪمل طور تي ختم ٿي ويندي. ڇاڪاڻ تہ آخرت حقيقتن جي ڪامل ظهور جي دنيا آهي. جڏهن سڀئي حقيقتون بي نقاب ٿي سامهون اچي وينديون تہ هڪ مخلص ماڻهوءَ لاءِ ڪا وجه باقي نہ رهندي جو هو پنهنجي ڀاءُ جي خلاف هرويرو رنجش رکي.

جنت جي زندگي ايتري لطيف ۽ نفيس زندگي آهي جو موجوده دنيا ۾ اُن جو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي. پوءِ بہ موجوده دنيا جون لذتون ۽ خوشيون اچڻ وارين لذتن ۽ خوشين جي دنيا جو هڪ ابتدائي تعارف آهن. ماڻهو سمجهي سگهي ٿو تہ جنهن جنت جو تعارف ايترو لذيذ آهي سا خود ڪيتري وڏيڪ لذيذ هوندي.

موجوده دنيا ۾ ڪو شخص هر قسم جون لذتون جمع ڪري وٺي، تڏهن بہ طرح طرح جون ناخوشگواريون ان جي هر لذت کي بي معنيٰ بڻائي ڇڏينديون آهن. پر جنت هڪ اهڙي جڳهہ آهي جنهن جون لذتون هر قسم جي ناخوشگوارين کان پاڪ هونديون. حديث ۾ آيو آهي تہ جنت وارن کي چيو ويندو تہ هاڻي توهان هميشہ صحتمند رهندو ۽ ڪڏهن بہ بيمار نہ ٿيندو. هاڻي توهان هميشہ جيئندو ۽ ڪڏهن بہ نہ مرندو. هاڻي توهان هميشہ جوان رهندو ۽ ڪڏهن بہ پوڙها نہ ٿيندو. هاڻي توهان هميشہ هتي ئي رهندو، توهان کي هتان ڪڏهن بہ وڃڻو نہ پوندو. (يقال لاهل الجنة ان لکم ان تصحوا ولا تمرضوا وان لکم ان تعيشوا فلاتموتوا ابدا وان لکم ان تشبوا ولا تهرموا ابدا وان لکم ان تقيموا فلا تظعنوا ابدا).

وَ نَبِّئۡهُمۡ عَنۡ ضَيۡفِ اِبۡرٰهِيۡمَ ﴿٥١﴾ اِذۡ دَخَلُوۡا عَلَيۡهِ فَقَالُوۡا سَلٰمًا ؕ قَالَ اِنَّا مِنۡكُمۡ وَ
جِلُوۡنَ ﴿٥٢﴾ قَالُوۡا لَا تَوۡجَلۡ اِنَّا نُبَشِّرُكَ بِغُلٰمٍ عَلِيۡمٍ ﴿٥٣﴾ قَالَ اَبَشَّرۡتُمُوۡنِىۡ عَلٰٓى اَنۡ مَّسَّنِىَ
الۡكِبَرُ فَبِمَ تُبَشِّرُوۡنَ ﴿٥٤﴾ قَالُوۡا بَشَّرۡنٰكَ بِالۡحَقِّ فَلَا تَكُنۡ مِّنَ الۡقٰنِطِيۡنَ ﴿٥٥﴾ قَالَ وَ مَنۡ
يَّقۡنَطُ مِنۡ رَّحۡمَةِ رَبِّهٖۤ اِلَّا الضَّآلُّوۡنَ ﴿٥٦﴾

۽ انهن کي ابراهيم جي مهمانن کان آگاهہ ڪر. جڏهن اُهي وٽس آيا پوءِ انهن سلام ڪيو. ابراهيم چيو تہ اسان کي توهان مان ڊپ ٿو لڳي. هنن چيو تہ ڊڄ نہ. اسان توکي هڪ پٽ جي خوشخبري ڏيون ٿا جيڪو وڏي علم وارو هوندو. ابراهيم چيو تہ ڇا توهان هن پيرسني ۾ مون کي اولاد جي خوشخبري ڏيو ٿا، پوءِ توهان ڪنهن شيءِ جي مون کي خوشخبري ڏيو ٿا. هنن چيو تہ اسان توکي سچي خوشخبري ڏئي رهيا آهيون، پوءِ

تون نااميد ٿيڻ وارن مان نہ ٿيءُ. ابراهيم چيو تہ پنهنجي رب جي رحمت مان گمراهن کان سواءِ ٻيو ڪير نااميد ٿيندو. ٥١-٥٦

---

حضرت ابراهيم عليه السلام وٽ ملائڪ انساني صورت ۾ آيا. سوالن ۽ جوابن جي دوران هنن چيو تہ اسان حق سان آيا آهيون. اهو حق (امر) ڇا هو جنهن لاءِ ملائڪ حضرت ابراهيم عليه السلام وٽ آيا. هي هڪ غير معمولي انعام جي خوشخبري هئي جنهن جي عام حالتن ۾ اميد نٿي ڪري سگهي. انسان تي جڏهن خدا کو غير معمولي انعام ڪرڻ چاهيندو آهي تہ اُن جي تڪميل جي لاءِ هو اُن وٽ خاص ملائڪ موڪليندو آهي.

اهڙي قسم جا فرشتا پيغمبرن وٽ بہ ايندا آهن ۽ غير پيغمبرن وٽ بہ. فرق اِهو آهي تہ پيغمبرن وٽ فرشتا ايندا آهن تہ هو انهن کي ڏسندو آهي ۽ شعوري طور تي واقف هوندو آهي تہ ملائڪ آهن. پر عام انسان کي هِن قسم جو يقيني ادراڪ نہ هوندو آهي. البتہ ملائڪن جي خاص قربت اُن جي اندر خاص ڪيفيتون پيدا ڪري ڇڏينديون آهن. اِهي ڪيفيتون ڄڻ تہ اُن جو اشارو هونديون آهن تہ هِن وقت ماڻهو خدا جي موڪليل خاص ملائڪن جي صحبت ۾ آهي.

قَالَ فَمَا خَطْبُكُمْ اَيُّهَا الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٥٧﴾ قَالُوْٓا اِنَّآ اُرْسِلْنَآ اِلٰى قَوْمٍ مُّجْرِمِيْنَ ﴿٥٨﴾ اِلَّآ اٰلَ
لُوْطٍ ؕ اِنَّا لَمُنَجُّوْهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٥٩﴾ اِلَّا امْرَاَتَهٗ قَدَّرْنَآ ۙ اِنَّهَا لَمِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٦٠﴾

پوءِ چيائين اي موڪليل ملائڪو! اوهان جي مهم ڪهڙي آهي. انهن چيو تہ اسان هڪ مجرم قوم ڏانهن موڪليا ويا آهيون. پر لوط جي سيني گهر وارن کي اسين بچائي وٺنداسون سواءِ سندس زال جي، اُن لاءِ اسان مقرر ڪيو آهي تہ هو مجرم ماڻهن ۾ رهجي ويندي. ٥٧-٦٠

---

حضرت ابراهيم عليه السلام فلسطين ۾ رهندو هو. ان جي ويجهو بحر مردار جي ڪناري پاڻ عليه السلام جو ڀائيٽو حضرت لوط عليه السلام رهندو هو. حضرت لوط عليه السلام اُن علائقي جي ماڻهن ۾ تبليغ ڪئي. پر اُهي اصلاح قبول ڪرڻ تي راضي نہ ٿيا. انهن جي سرڪشي وڌندي وئي، ايستائين جو فيصلو ڪيو ويو تہ انهن کي هلاڪ ڪيو وڃي. هي ملائڪ اُن ئي خدائي فيصلي جي نفاذ لاءِ آيا هُئا.

حضرت لوط عليه السلام جي ڪجھ خاندان وارن کان سواءِ ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ پاڻ عليه السلام تي ايمان نہ آندو. گهر کان ٻاهر وارن جي لاءِ حق جي داعي کي قبول ڪرڻ تمام مشڪل هوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن لاءِ گهڻيون ئي نفسياتي رڪاوٽون پيدا ٿي وينديون آهن. جيئن تہ پنهنجن مائٽن لاءِ اهي رڪاوٽون نہ هونديون آهن، تنهن ڪري اهي ماڻهو آساني سان حق جي داعي جا ساٿي بڻجي ويندا آهن.

حضرت لوط عليه السلام سان ائين ئي ٿيو. پاڻ عليه السلام جي دعوت تي رڳو سندس ڌيئرن ئي ايمان آندو. اولاد کي پنهنجي پيءُ سان جيڪو خاص تعلق هوندو آهي، اُهو پيءُ جي دعوت کي قبول ڪرڻ ۾ خاص مددگار بڻجي ويندو آهي. انهن ڇوڪرين حضرت لوط عليه السلام سان گڏ نجات پاتي. پر سندس زال دل سان مؤمن نہ بڻجي سگهي. تنهن ڪري اُن کي ٻين مجرمن سان گڏ هلاڪ ڪيو ويو. خدا جي قانون ۾ رڳو مائٽيءَ جي بنياد تي ڪنهن سان ڪا رعايت نہ ڪئي ويندي آهي.

فَلَمَّا جَآءَ اٰلَ لُوۡطِ ۣالۡمُرۡسَلُوۡنَ ﴿٦١﴾ قَالَ اِنَّكُمۡ قَوۡمٌ مُّنۡكَرُوۡنَ ﴿٦٢﴾ قَالُوۡا بَلۡ جِئۡنٰكَ بِمَا
كَانُوۡا فِيۡهِ يَمۡتَرُوۡنَ ﴿٦٣﴾ وَ اَتَيۡنٰكَ بِالۡحَقِّ وَ اِنَّا لَصٰدِقُوۡنَ ﴿٦٤﴾ فَاَسۡرِ بِاَهۡلِكَ بِقِطۡعٍ مِّنَ
الَّيۡلِ وَ اتَّبِعۡ اَدۡبَارَهُمۡ وَ لَا يَلۡتَفِتۡ مِنۡكُمۡ اَحَدٌ وَّ امۡضُوۡا حَيۡثُ تُؤۡمَرُوۡنَ ﴿٦٥﴾ وَ قَضَيۡنَاۤ
اِلَيۡهِ ذٰلِكَ الۡاَمۡرَ اَنَّ دَابِرَ هٰۤؤُلَآءِ مَقۡطُوۡعٌ مُّصۡبِحِيۡنَ ﴿٦٦﴾

پوءِ جڏهن موڪليل ملائڪ لوط جي خاندان وٽ آيا. انهن چيو توهان اجنبي ماڻهو لڳو ٿا. انهن چيو ته نه بلڪ اسان تو وٽ اُها شيءِ کڻي آيا آهيون جنهن ۾ هي ماڻهو شڪ ڪندا آهن. ۽ اسان تو وٽ حق سان آيا آهيون ۽ اسان بلڪل سچا آهيون. تنهن ڪري تون پنهنجي گهر وارن سان راتو واهه نڪر ۽ تون سندن پويان هل ۽ اوهان مان ڪو به پوئتي مڙي نه ڏسي ۽ اُتي هليا وڃو جتي اوهان کي وڃڻ جو حڪم آهي. ۽ اسان لوط وٽ هي حڪم موڪليو ته صبح ٿيندي ئي انهن ماڻهن جي پاڙ پٽي ويندي. ٦١-٦٦

---

هڪڙو ”حق“ اُهو هو جنهن کي کڻي ملائڪ حضرت ابراهيمؑ وٽ آيا. ٻيو حق اُهو آهي جنهن کي کڻي هو حضرت لوطؑ وٽ پهتا. پهريون حق خدا جي خاص انعام جي صورت ۾ هو. ٻيو حق خدا جي خاص سزا جي صورت ۾.

حضرت لوطؑ وٽ ملائڪ انسان جي صورت ۾ آيا. هي ملائڪ اُن ڪري آيا جو هو پيغمبر کي نه مڃڻ وارن تي اُهو فيصلو نافذ ڪن جيڪو خدا سندن سرڪشي جي ڪري انهن لاءِ مقرر ڪيو آهي. انهن جي هدايت جي مطابق حضرت لوطؑ رات جي اونداهيءَ ۾ ٻين ايمان وارن کي وٺي بستي مان نڪري ويا. اُن ڪان پوءِ صبح سويري شديد زلزلي جي ڌماڪن سان سڄو علائقو تباهه ٿي ويو. سڀ انتهائي بي دردي سان هلاڪ ڪيا ويا.

هي هلاڪت ڪٿي ٿي؟ هي سندن اُن ئي دنيا ۾ ٿي جنهن کي هو پنهنجي دنيا سمجهي ويٺا هئا. جتي جي هر شيءِ انهن کي پنهنجو ساٿي ۽ مددگار ڏسڻ ۾ ايندي. خدا جڏهن حڪم ڏيندو آهي ته اُها ئي شيءِ ماڻهو جي لاءِ هلاڪت جو سبب بڻجي ويندي آهي جنهن کي هو پنهنجي لاءِ ڪاميابي سمجهي ويٺو هو. جنهن محل جي اندر پاڻ کي ڏسي ماڻهو فخر ڪندو آهي، اُن محل کي اهڙي طرح ڪنبر ڪري ڇڏبو آهي ڄڻ ته اُهو هڪ مٽيءَ جو ڍير هو جيڪو ماڻهو جي سِر تي ڦٽي ڪيو ويو.

وَ جَآءَ اَهۡلُ الۡمَدِيۡنَةِ يَسۡتَبۡشِرُوۡنَ ﴿٦٧﴾ قَالَ اِنَّ هٰۤؤُلَآءِ ضَيۡفِيۡ فَلَا تَفۡضَحُوۡنِ ﴿٦٨﴾ وَ اتَّقُوا
اللّٰهَ وَ لَا تُخۡزُوۡنِ ﴿٦٩﴾ قَالُوۡۤا اَوَ لَمۡ نَنۡهَكَ عَنِ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿٧٠﴾ قَالَ هٰۤؤُلَآءِ بَنٰتِيۡۤ اِنۡ كُنۡتُمۡ
فٰعِلِيۡنَ ﴿٧١﴾

۽ شهر جا ماڻهو خوشيون ڪندا آيا. اُن چيو ته هي ماڻهو ته منهنجا مهمان آهن، توهان مون کي رُسوا نه ڪريو. ۽ توهان الله کان ڊڄو ۽ مون کي خوار نه ڪريو. انهن چيو ته ڇا اسان توکي دنيا جهان جي ماڻهن کان منع نه ڪئي هئي. اُن چيو ته هي منهنجون نياڻيون آهن جيڪڏهن توهان کي ڪرڻو ئي آهي. ٦٧-٧١

---

قوم لوط جي بستي (سدوم) ۾ جيڪي ملائڪ آيا، اُهي نهايت خوبصورت نوجوانن جي صورت ۾ آيا. اها چڻ تہ فحاشي ۾ پيل اُن قوم جي آخري آزمائش هئي. پوءِ اُهي ماڻهو پنهنجي سرڪشيءَ جي ڪري انهن نوجوانن ڏانهن وڌيا، هو حسب عادت انهن سان بدڪاري ڪرڻ چاهيندا هئا. پر انهن کي خبر نہ هئي تہ هو جن کي پرڪشش نوجوان سمجهي رهيا آهن، اُهي اصل ۾ عذاب جا ملائڪ آهن جيڪي رڳو اُن لاءِ آيا آهن تہ انهن کي هميشہ جي لاءِ ذليل ڪري ڇڏين.

”منهنجون نياڻيون“ مان مراد قوم جون نياڻيون آهن. حضرت لوط عليہ السلام جڏهن ڏٺو تہ ظالم ماڻهو منع ڪرڻ جي باوجود مهمانن ڏانهن وڌي رهيا آهن تہ پاڻ عليہ السلام انهن کي چيو تہ خدا جي واسطي منهنجي مهمانن جي معاملي ۾ مون کي رسوا نہ ڪريو. جيڪڏهن توهان کي ڪجھ ڪرڻو ئي آهي تہ هي قوم جون نياڻيون آهن، انهن سان نڪاح ڪري وٺو.

لَعَمۡرُكَ اِنَّهُمۡ لَفِيۡ سَكۡرَتِهِمۡ يَعۡمَهُوۡنَ ﴿۷۲﴾ فَاَخَذَتۡهُمُ الصَّيۡحَةُ مُشۡرِقِيۡنَ ﴿۷۳﴾ فَجَعَلۡنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا وَ اَمۡطَرۡنَا عَلَيۡهِمۡ حِجَارَةً مِّنۡ سِجِّيۡلٍ ﴿۷۴﴾ اِنَّ فِيۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّلۡمُتَوَسِّمِيۡنَ ﴿۷۵﴾ وَ اِنَّهَا لَبِسَبِيۡلٍ مُّقِيۡمٍ ﴿۷۶﴾ اِنَّ فِيۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّلۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۷۷﴾

تنهنجي حياتي جو قسم، اُهي پنهنجي بدمستيءَ ۾ انڌا ٿي ويا هئا. پوءِ صبح ٿيندي ئي کين هڪ ڪڙڪي اچي پڪڙيو. پوءِ اسان اُن بستيءَ کي اونڌو ڪري ڇڏيو ۽ انهن ماڻهن تي پڪي مٽيءَ جا پٿر وسايا سون. بيشڪ انهيءَ ۾ نشانيون آهن ڌيان ڪرڻ وارن جي لاءِ. ۽ هي بستي هڪ سڌي رستي تي آهي. بيشڪ انهيءَ ۾ نشاني آهي ايمان وارن جي لاءِ ٧٢-٧٧

---

لوط جي قوم جو اِهو حال ڇو ٿيو جو هو سرڪشي ۾ حد کان لنگهي ويئي؟ اُن جي وجھ اِها هئي جو انهن معاملي کي حضرت لوط عليہ السلام جي نسبت سان ڏٺو. ڇاڪاڻ تہ هو حضرت لوط جي مقابلي ۾ طاقتور هئا، اُن ڪري انهن سمجهيو تہ اسان جيڪو چاهيون سو ڪريون، ڪير بہ اسان جو ڪجھ بگاڙڻ وارو نہ آهي.

جيڪڏهن هو معاملي کي الله جي نسبت سان ڏسن ها تہ صورتحال بلڪل ابتڙ هجي ها. پوءِ انهن کي سمجھ ۾ اچي ها تہ سندن سرڪشي سراسر بيوقوفي آهي. ڇاڪاڻ تہ خدا جي مقابلي ۾ ڪنهن بہ طاقتور جي ڪا بہ حيثيت نہ آهي. پوءِ صبح جو انهن تي ڪڙڪيدار شديد طوفان آيو. خدا هوائن کي حڪم ڏنو ۽ انهن لوط جي قوم جي بستين (سدوم ۽ عموره) تي پٿرن جي بارش شروع ڪري ڇڏي. سڄي قوم ٿوري دير ۾ تباھ ٿي وئي.

هن واقعي ۾ غور ڪرڻ وارن جي لاءِ هيءَ نصيحت آهي تہ هِن دنيا ۾ ڪنهن جو بہ معاملو حقيقت ۾ انسان سان نہ بلڪ خدا سان آهي. جيڪڏهن ماڻهو اُن حقيقت کي ڄاڻي وٺي تہ اُن جي سڄي سرڪشي ختم ٿي وڃي.

وَ اِنۡ كَانَ اَصۡحٰبُ الۡاَيۡكَةِ لَظٰلِمِيۡنَ ﴿۷۸﴾ فَانۡتَقَمۡنَا مِنۡهُمۡ ۘ وَ اِنَّهُمَا لَبِاِمَامٍ مُّبِيۡنٍ ﴿۷۹﴾ وَ

لَقَدۡ كَذَّبَ اَصۡحٰبُ الۡحِجۡرِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ۙ﴿۸۰﴾ وَ اٰتَيۡنٰهُمۡ اٰيٰتِنَا فَكَانُوۡا عَنۡهَا مُعۡرِضِيۡنَ ﴿۸۱﴾ وَ
كَانُوۡا يَنۡحِتُوۡنَ مِنَ الۡجِبَالِ بُيُوۡتًا اٰمِنِيۡنَ ﴿۸۲﴾ فَاَخَذَتۡهُمُ الصَّيۡحَةُ مُصۡبِحِيۡنَ ۙ﴿۸۳﴾ فَمَاۤ
اَغۡنٰى عَنۡهُمۡ مَّا كَانُوۡا يَكۡسِبُوۡنَ ﴿ؕ۸۴﴾

۽ ايڪ وارا بيشڪ ظالم هئا. اُن ڪري اسان انهن کان انتقام ورتو. ۽ اهي ٻئي بستيون کلي رستي تي آهن. ۽ حجر وارن بہ رسولن کي ڪوڙو سمجهيو. ۽ اسان انهن کي پنهنجون نشانيون ڏنيون، پر هو انهن کان منهن موڙيندا رهيا ۽ هو جبل ٽُڪي انهن ۾ گهر ٺاهيندا هئا تہ جيئڻ بي ڊپا ٿي رهن. پوءِ صبح جي وقت انهن کي سخت آواز اچي پڪڙيو. پوءِ انهن جي ڪيل ڪمائي ڪين ڪنهن ڪم نہ آئي. ٧٨-٨٤

اصحاب ايڪ مان مراد حضرت شعيبؑ جي قوم آهي. ان قوم جو اصل نالو بني مديان هو. اُهي ماٿهو موجوده تبوڪ جي علائقي ۾ آباد ها. اصحاب حجر مان مراد قوم ثمود آهي. جنهن ڏانهن حضرت صالحؑ کي موڪليو ويو هو. هي علائقو موجوده مديني جي اُتر ۾ آهي.

اصحاب ايڪ جي سرڪشي انهن کي نہ رڳو شرڪ ۾ مبتلا ڪيو، بلڪِ انهن کي بدترين اخلاقي براين تائين پهچائي ڇڏيو. حضرت شعيبؑ جي ياد ڏيارڻ جي باوجود انهن سبق نہ ورتو تہ خدا زمين کي حڪم ڏنو. ان ڪانپوءِ ائين ٿيو تہ جيڪا زمين سندن لاءِ عيش جي جاءِ بڻيل هئي، اُهائي سندن لاءِ عذاب جو نڪاٽو بڻجي وئي.

قوم ثمود پٿر ٽُڪڻ ۽ تراشڻ جي فن ۾ ماهر هئي. انهن جبلن کي ٽُڪي انهن کي شاندار گهرن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو. هو سمجهندا هئا تہ انهن پنهنجي حفاظت جو آخري حد تائين انتظام ڪري ورتو آهي. جڏهن انهن خدا جي سڏ کي نظر انداز ڪري ڇڏيو تہ خدا حڪم ڏنو ۽ انهن جا عظيم گهر انهن لاءِ قبرن ۾ تبديل ٿي ويا.

وَ مَا خَلَقۡنَا السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ وَ مَا بَيۡنَهُمَاۤ اِلَّا بِالۡحَقِّ ؕ وَ اِنَّ السَّاعَةَ لَاٰتِيَةٌ فَاصۡفَحِ
الصَّفۡحَ الۡجَمِيۡلَ ﴿۸۵﴾ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ الۡخَلّٰقُ الۡعَلِيۡمُ ﴿۸۶﴾

۽ اسان آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪو ڪجھ انهن جي وچ ۾ آهي حڪمت ڪانسواءِ نہ بڻايو آهي ۽ بيشڪ قيامت اچڻ واري آهي. پوءِ تون سهڻي نموني سان درگذر ڪر. بيشڪ تنهنجو رب سڀني جو خالق آهي، ڄاڻڻ وارو آهي. ٨٥-٨٦

زمين ۽ آسمان جو مطالعو ٻڌائي ٿو تہ هِي پورو نظام وڏي حڪمت سان بڻايو ويو آهي. هِتي هر شيءِ ٺيڪ اهڙي ئي آهي جهڙي اُن کي هئڻ گهرجي. هِن پوري نظام ۾ رڳو انسان آهي جيڪو حقيقت جي خلاف رويو اختيار ڪندو آهي. انسان ۽ ڪائنات ۾ هِي تضاد تقاضا ڪري ٿو تہ اِهو ختم ٿئي. قيامت جو عقيدو اِن لحاظ کان بلڪل عقل ۽ منطق جو عقيدو آهي. ڇاڪاڻ تہ قيامت ڪانسواءِ ٻي ڪا شيءِ نہ آهي جيڪا اُن تضاد کي ختم ڪرڻ واري هجي.

الله ڏانهن دعوت جي عمل جو هڪ اهم جُز "اعراض" آهي. يعني مخاطب جڏهن غير ضروري ۽ غير متعلق بحث ۽ جهڳڙو شروع ڪري تہ ان سان بحث ڪرڻ جي بجاءِ ان کان الڳ ٿي وڃڻ. اعراض

جو اصول اختيار ڪرڻ ڪانسواءِ دعوت جو ڪم صحيح طور تي نہ ٿو ڪري سگھجي.
اعراض جي مصلحت اِها آهي تہ مدعو هميشہ داعي سان غير متعلق جھيڙا شروع ڪندو آهي. هاڻي جيڪڏهن داعي بہ ائين ڪري جو هر اهڙي موقعي تي مدعو سان وڙهي پوي تہ غير متعلق ڳالهين تي ٽڪراءُ خوب ٿيندو، پر اصل دعوتي ڪم ٺپ ٿيڻ کان رهجي ويندو.

وَ لَقَدۡ اٰتَیۡنٰکَ سَبۡعًا مِّنَ الۡمَثَانِیۡ وَ الۡقُرۡاٰنَ الۡعَظِیۡمَ ﴿۸۷﴾ لَا تَمُدَّنَّ عَیۡنَیۡکَ اِلٰی مَا مَتَّعۡنَا
بِہٖۤ اَزۡوَاجًا مِّنۡہُمۡ وَ لَا تَحۡزَنۡ عَلَیۡہِمۡ وَ اخۡفِضۡ جَنَاحَکَ لِلۡمُؤۡمِنِیۡنَ ﴿۸۸﴾ وَ قُلۡ اِنِّیۡۤ اَنَا
النَّذِیۡرُ الۡمُبِیۡنُ ﴿ۚ۸۹﴾ کَمَاۤ اَنۡزَلۡنَا عَلَی الۡمُقۡتَسِمِیۡنَ ﴿ۙ۹۰﴾ الَّذِیۡنَ جَعَلُوا الۡقُرۡاٰنَ عِضِیۡنَ ﴿۹۱﴾
فَوَ رَبِّکَ لَنَسۡـَٔلَنَّہُمۡ اَجۡمَعِیۡنَ ﴿ۙ۹۲﴾ عَمَّا کَانُوۡا یَعۡمَلُوۡنَ ﴿۹۳﴾

۽ بيشڪ اسان توکي ست بار بار پڙهڻ واريون آيتون ۽ عظيم قرآن عطا ڪيو آهي. تون اُن دنيا جي سامان ڏانهن اک کڻي بہ نہ نِهار جيڪو اسان اُن ۾ مختلف ماڻهن کي ڏنو آهي. ۽ انهن تي غم نہ ڪر ۽ ايمان وارن تي پنهنجون ٻانهون شفقت سان جهڪاءِ ۽ چؤ تہ آئون هڪ پڌرو ڊيڄارڻ وارو آهيان. اهڙي طرح اسان ورهائيندڙن تي بہ نازل ڪيو هو جن پنهنجي قرآن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. پوءِ تنهنجي رب جو قسم اسان انهن سڀني کان ضرور پڇنداسون جيڪو ڪجھ هو ڪندا هئا. ٨٧-٩٣

---

ست بار بار پڙهجندڙ آيتن مان مراد سورة فاتحه آهي. سورة فاتحه پوري قرآن جو خلاصو آهي ۽ باقي قرآن ان جي تفصيل. هِي قرآن بيشڪ زمين ۽ آسمان جي سڀ کان وڏي نعمت آهي. ان جو هدايت وارو هجڻ ان جي مڃڻ وارن جي لاءِ آخرت جي ڪاميابي جي ضمانت آهي ۽ ان جو آخري ڪتاب هئڻ لاءِ لازمي آهي تہ ان کي ضرور پنهنجي مخالفن تي غلبو حاصل ٿئي. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن غلبو حاصل نہ ٿئي تہ اهو آخري ڪتاب جي حيثيت سان باقي نہ ٿو رهي سگھي.
داعيءَ کي گھرجي تہ جيڪي ماڻهو ايمان نہ ٿا آڻين، انهن لاءِ هو مايوس نہ ٿئي، بلڪ جن ماڻهن ايمان آندو آهي، انهن کي ڏسي مطمئن ٿئي ۽ سندن دلجوئي ۽ تربيت ۾ پوري توجهہ ڏي.
قرآن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ مان مراد توريت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ آهي. يهودين پنهنجي آسماني ڪتاب کي عملاً ٻن حصن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو هو. ان جي جيڪا تعليم سندن خواهشن جي خلاف هئي ان کي هو ڇڏي ڏيندا هئا ۽ جيڪا سندن خواهشن جي مطابق هئي، ان کي وٺندا هئا. پهرين قسم جون آيتون وٽن رڳو تقدس لاءِ هيون، انهن تي نہ هو ڌيان ڏيندا هئا ۽ نہ انهن کي ڦهلائيندا هئا. البت ٻئي قسم جي آيتن جي هو خوب اشاعت ڪندا هئا. ٻين لفظن ۾ انهن خدا جي ڪتاب کي پنهنجي مفاد جي تابع ڪري ڇڏيو هو نہ وري خدا جي حڪمن جي تابع.
ڪنهن شيءِ کي حاصل ڪرڻ جا ٻہ درجا آهن. هڪ آهي ان جي جزن کي حاصل ڪرڻ ٻيو آهي ان کي ان جي مڪمل حيثيت ۾ حاصل ڪرڻ. وڻ کي جڏهن ماڻهو اُن جي مڪمل حيثيت ۾ سڃاڻي وٺي تہ هو چوندو آهي تہ هِي وڻ آهي. پر جيڪڏهن هو ان کي ان جي مڪمل حيثيت ۾ نہ سڃاڻي تہ هو

ٽُڙ ۾ تارين ۾ پن ۾ گل ۾ ميوي جو ذڪر ڪندو. هو اُن واحد لفظ کي نہ چئي سگھندو جنهن جي ڳالهائڻ ڪانپوءِ ان جا سڀئي مختلف جز هڪ اصليت ۾ جُڙي هڪ وحدت جي شڪل اختيار ڪري وٺندا آهن.

اهوئي معاملو خدا جي ڪتاب جو بہ آهي. خدا جي ڪتاب ۾ ڪيترائي مختلف حڪم آهن. اُن سان گڏ هڪ مڪمل ۾ مرڪزي نُڪتو بہ آهي. جيڪي ماڻهو خدا جي ڪتاب ۾ غور ڪن، هو خدا جي ڪتاب کي ان جي مڪمل حيثيت ۾ پائي وٺندا. ان جي ابتڙ جيڪي ماڻهو پنهنجي پاڻ ۾ گم هجن، هو جڏهن خدا جي ڪتاب کي ڏسندا آهن تہ خدا جو ڪتاب انهن کي رڳو مختلف حڪمن جو مجموعو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. هو انهن مان پنهنجي ذوق ۾ حالتن مطابق ڪو جز ڪٽي وٺندا آهن ۾ ان تي اهڙي طرح زور ڏيڻ لڳندا آهن ڄڻ تہ رڳو اُهائي هڪ شيءِ آهي جيڪا سڀ ڪجھ آهي.

وڻ جي پاڙ ۾ پاڻي ڏيڻ سان سڄي وڻ ۾ پاڻي پهچي ويندو آهي. اِهڙي طرح جڏهن خدا جي ڪتاب جي مڪمل ۾ مرڪزي پهلو کي زندھ ڪيو وڃي تہ ان جي زندھ ٿيندي ئي باقي سڀئي جز لازمي طور تي زندھ ٿي ويندا آهن. ان جي ابتڙ جيڪڏهن ڪنهن هڪ جز کي ڪٽي ان تي زور ڏنو وڃي تہ ان جو چرچو تہ ٿي سگهي ٿو، پر ان سان دين جي حقيقت زندھ نہ ٿي ٿئي، ڇاڪاڻ دين کي زندگي مرڪزي پهلو جي زندھ ٿيڻ سان ملندي آهي ۾ اُهو تہ زندھ ئي نہ ٿيو.

فَاصۡدَعۡ بِمَا تُؤۡمَرُ وَ اَعۡرِضۡ عَنِ الۡمُشۡرِكِيۡنَ ﴿٩٤﴾ اِنَّا كَفَيۡنٰكَ الۡمُسۡتَهۡزِءِيۡنَ ﴿٩٥﴾ الَّذِيۡنَ
يَجۡعَلُوۡنَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ ۚ فَسَوۡفَ يَعۡلَمُوۡنَ ﴿٩٦﴾ وَ لَقَدۡ نَعۡلَمُ اَنَّكَ يَضِيۡقُ صَدۡرُكَ بِمَا
ع يَقُوۡلُوۡنَ ﴿٩٧﴾ فَسَبِّحۡ بِحَمۡدِ رَبِّكَ وَكُنۡ مِّنَ السّٰجِدِيۡنَ ﴿٩٨﴾ وَاعۡبُدۡ رَبَّكَ حَتّٰى يَاۡتِيَكَ الۡيَقِيۡنُ ﴿٩٩﴾

پوءِ جنهن شيءِ جو توکي حڪم مليو آهي، ان کي کولي ٻڌاءِ ڇڏ ۾ مشرڪن کان اعراض ڪر. اسان تنهنجي پاران انهن ٺٺول ڪندڙن جي لاءِ ڪافي آهيون جيڪي الله سان ٻيا معبود شريڪ ڪندا آهن. پوءِ جلد ئي هو ڄاڻي وٺندا. ۾ اسان کي خبر آهي تہ جيڪو ڪجھ هو چوندا آهن ان سان تنهنجي دل تنگ ٿئي ٿي. پوءِ تون پنهنجي رب جي حمد سان گڏ سندس پاڪائي بيان ڪر. ۾ سجدي ڪندڙن مان ٿي ۾ پنهنجي رب جي عبادت ڪندو رھ جيستائين تو وٽ يقيني (موت) ڳالھ اچي وڃي. ٩٤-٩٩

---

موجوده دنيا ۾ هر ماڻهوءَ کي ڳالهائڻ ۾ عمل جي ڇوٽ مليل آهي. ان ڪري داعي جڏهن خدا ڏانهن سڏڻ جو ڪم شروع ڪندو آهي تہ ٻين جي طرفان طرح طرح جون بي معنيٰ ڳالهيون ڪيون وينديون آهن. ماڻهو مختلف قسم جا غير ضروري مسئلا اُٿاريندا آهن. اهڙن موقعن تي داعيءَ جي لاءِ لازم آهي تہ هو انهن سيني ڳالهين جي مقابلي ۾ اعراض جو طريقو اختيار ڪري. جيڪڏهن هو اهڙن موقعن تي ماڻهن سان وڙهڻ لڳندو تہ هو حق جي دعوت جي مثبت ڪم کي انجام نہ ڏئي سگھندو.

هِن دنيا ۾ حق جي داعي لاءِ هڪڙوئي مثبت طريقو آهي، اُهو هِي تہ هُو جهڳڙو ڪرڻ وارن سان جهڳڙو نہ ڪري ۾ جيڪو حق ان کي مليو آهي، ان جو هُو پوري طرح اعلان ڪري ڇڏي. هر ان ڳالھ کي هو خدا جي حوالي ڪري ڇڏي جنهن سان نبرڻ جي طاقت هو پنهنجي اندر نہ لهي. دنيا جون اٽوندڙ حالتون جڏهن ان کي ستائن تہ هو پنهنجي توجھ آخرت ڏانهن ڪري ڇڏي. انسانن جي بي مروتي جڏهن ڪيس

تنگ دل ڪري تہ هو خدا جي ياد ۾ مشغول ٿي وڃي. سچي داعيءَ جو حال اِهو هوندو آهي تہ جڏهن ان تي غم جي ڪا حالت طاري ٿيندي آهي تہ هو پوري طرح خدا ڏانهن متوجهہ ٿي ويندو آهي. جيڪا شيءِ هو انسانن کان حاصل نہ ڪري سگهيو، اُن ڪي هو خدا کان پائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. نماز ۾ خدا جي سامهون بيهڻ سان ان کي تسڪين ملندي آهي. اکين مان لڙڪ وهائي ان جي دل جو بار هلڪو ٿي ويندو آهي. خدا سان سرگوشيون ڪري هو محسوس ڪندو آهي تہ اُن کي اُهو سڀ ڪجهہ ملي ويو جيڪو ان کي حاصل ڪرڻو هو.

آياتها ١٢٨ (١٦) سُوۡرَةُ النَّحۡلِ مَكِّيَّةٌ (٧٠) رکوعاتها ١٦

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَتٰۤى اَمۡرُ اللّٰهِ فَلَا تَسۡتَعۡجِلُوۡهُ ؕ سُبۡحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشۡرِكُوۡنَ ۝١ يُنَزِّلُ الۡمَلٰٓئِكَةَ بِالرُّوۡحِ
مِنۡ اَمۡرِهٖ عَلٰى مَنۡ يَّشَآءُ مِنۡ عِبَادِهٖۤ اَنۡ اَنۡذِرُوۡۤا اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّاۤ اَنَا فَاتَّقُوۡنِ ۝٢ خَلَقَ
السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ بِالۡحَقِّ ؕ تَعٰلٰى عَمَّا يُشۡرِكُوۡنَ ۝٣

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

الله جو فيصلو اچي ويو، پوءِ ان جي لاءِ تڪڙ نہ ڪريو. هُو پاڪ آهي ۽ برتر آهي انهن کان جن کي هو شريڪ ٺا ڪن. هو ملائڪن کي پنهنجي حڪم جي روح سان گڏ نازل ڪندو آهي پنهنجي ٻانهن مان جنهن تي چاهي ٿو تہ ماڻهن کي خبردار ڪري ڇڏيو تہ مون کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق نہ آهي. تنهن ڪري مون کان ڊڄو. هُن آسمانن ۽ زمين کي حق سان پيدا ڪيو آهي. هو برتر آهي اُن شرڪ کان جيڪو هو ڪري رهيا آهن. ١-٣

---

دين جي حقيقت اِها آهي تہ انسان خدا جي هستي ۽ ڪائنات ۾ سندس حڪمراني کي اِهڙي طرح ڄاڻي وٺي جو هڪ خدا جي ذات ئي اُن کي سڀ ڪجهہ نظر اچڻ لڳي. ان کان ئي هو ڊڄي ۽ ان کان ئي هو هر قسم جي اميد رکي. هڪ خدا ان جي دل ۽ دماغ جو مرڪز بڻجي وڃي.

اِهوئي الله کي الہ بڻائڻ ۽ ان جي عبادت ڪرڻ آهي. انسانن جي اندر اِهائي ڪيفيت پيدا ڪرڻ لاءِ سڀئي پيغمبر هِن دنيا ۾ آيا. جيڪي ماڻهو هِنَ ٻانهپ جو ثبوت ڏين، اُهي ئي فيصلي جي ڏينهن ڪامياب ٿيندا. جيڪي ماڻهو ان جي خلاف هلندا، اُهي فيصلي جي ڏينهن نامراد ٿي ويندا. اِهو فيصلو عام انسانن جي لاءِ قيامت ۾ ٿيندو. پر پيغمبر جي مخاطبن لاءِ اِهو هِن ئي دنيا ۾ شروع ٿي ويندو آهي.

ڪائنات ۾ مڪمل وحدت آهي ۽ ان سان گڏ اُها بامقصد بہ. ڪائنات جي وحدت ان کان انڪار ڪندي آهي تہ هِتي هڪ خدا کانسواءِ ڪنهن ٻئي کي توجهہ جو مرڪز بڻائڻ ڪنهن جي لاءِ جائز هجي ۽ ان جو بامقصد هجڻ تقاضا ڪري ٿو تہ ان جو خاتمو هڪ بامعنيٰ انجام تي هئڻ گهرجي نہ وري ڪنهن بي معنيٰ انجام تي. ڇڻ تہ ڪائنات جو نظام هڪ ئي وقت توحيد جو دليل آهي ۽ آخرت جو دليل بہ.

خَلَقَ الۡاِنۡسَانَ مِنۡ نُّطۡفَةٍ فَاِذَا هُوَ خَصِيۡمٌ مُّبِيۡنٌ۝۴ وَ الۡاَنۡعَامَ خَلَقَهَا ۚ لَكُمۡ فِيۡهَا
دِفۡءٌ وَّ مَنَافِعُ وَ مِنۡهَا تَاۡكُلُوۡنَ۝۵ وَ لَكُمۡ فِيۡهَا جَمَالٌ حِيۡنَ تُرِيۡحُوۡنَ وَ حِيۡنَ
تَسۡرَحُوۡنَ۝۶ وَ تَحۡمِلُ اَثۡقَالَكُمۡ اِلٰى بَلَدٍ لَّمۡ تَكُوۡنُوۡا بٰلِغِيۡهِ اِلَّا بِشِقِّ الۡاَنۡفُسِ ؕ اِنَّ
رَبَّكُمۡ لَرَءُوۡفٌ رَّحِيۡمٌ۝۷ وَّ الۡخَيۡلَ وَ الۡبِغَالَ وَ الۡحَمِيۡرَ لِتَرۡكَبُوۡهَا وَ زِيۡنَةً ؕ وَ يَخۡلُقُ مَا
لَا تَعۡلَمُوۡنَ۝۸

هُن انسان کي هڪ نُطفي مان پيدا ڪيو. پوءِ هو يڪدم پڌرو جهڳڙالو ٿي پيو ۽ اُن ڍور خلقيا، انهن ۾ توهان جي لاءِ پوشاڪ به آهي ۽ خوراڪ به ۽ ٻيا فائدا به ۽ انهن مان ڪائو به ٿا. ۽ انهن ۾ توهان لاءِ سونهن آهي، جڏهن شام جي وقت انهن کي آڻيو ٿا ۽ جڏهن صبح جي وقت ڇڏيو ٿا ۽ اُهي توهان جو بار اهڙن هنڌن تائين پهچائيندا آهن جتي توهان سخت محنت کان سواءِ نه ٿا پهچي سگهو. بيشڪ توهان جو رب وڏو شفيق مهربان آهي. ۽ اُن گهوڙا ۽ خچر ۽ گڏه پيدا ڪيا ته توهان انهن تي سواري ڪريو ۽ زينت جي لاءِ به ۽ هو اهڙيون شيون پيدا ڪندو آهي جن کي توهان نٿا ڄاڻو. ٤-٨

---

انسان جو آغاز هڪ حقير مادي مان ٿيندو آهي. پر انسان جڏهن وڏو ٿيندو آهي ته هو خدا سان مقابلي ڪرڻ ڪوشش ڪندو آهي. هو خدا جي ڪائنات ۾ ٻي خدا بڻجي رهڻ چاهي ٿو. جيڪڏهن انسان پنهنجي ابتدائي حقيقت کي نظر ۾ رکي ته ڪڏهن به هو زمين تي سرڪشي جو رويو اختيار نه ڪري.

انسان کي موجوده دنيا ۾ جيڪي نعمتون حاصل آهن، انهن ۾ ڍور به آهن. اِهي ڄڻ ته قدرت جون زنده مشينون آهن جيڪي انسان جون مختلف ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ لڳيون پيون آهن. اِهي ڍور گاهه ۽ چارو ڪائيندا آهن ۽ ان کي انساني خوراڪ جي لاءِ گوشت ۽ کير ۾ تبديل ڪندا آهن. انهن جسم تي وار ۽ اُن هوندي آهي جنهن مان ماڻهو پنهنجي پوشاڪ ٺاهيندو آهي. اُهي انسان کي ۽ ان جي سامان کي هڪ جاءِ تان ڪڍي ٻي جاءِ تائين پهچائيندا آهن. انهن ڍورن جو ڌڻ ماڻهو جي ملڪيت ۽ حيثيت ۽ شان ۾ اضافو ڪندا آهن.

”۽ خدا اِهڙيون شيون پيدا ڪندو آهي جن کي توهان نٿا ڄاڻو“. ان مان مراد اُهي فائدا آهن جيڪي ڍورن کان علاوه ٻين ذريعن مان حاصل ٿيندا آهن. انهن ذريعن جو هڪ حصو قديم زماني ۾ به انسان کي حاصل هو ۽ انهن جو وڏو حصو موجوده زماني ۾ دريافت ڪري انسان انهن مان فائدو ڪڍي رهيو آهي. مثال طور جانورن جي جاءِ تي مشين.

دنيا ۾ انسان جي لاءِ جيڪي بيشمار نعمتون آهن، اُهي انسان خود نه بڻايون آهن. بلڪ اهي خدا طرفان ڪيس مهيا ڪيون ويون آهن. ان مان ظاهر ٿيندو آهي ته هِن دنيا جو خالق هڪ مهربان خالق آهي. ان جو تقاضو آهي ته انسان پنهنجي خالق جو شڪر گذار بڻجي ۽ ان جو اُهو حق ادا ڪري جيڪو محسن هئڻ جي حيثيت سان انسان جي مٿان لازم آهي.

ع وَ عَلَى اللّٰهِ قَصۡدُ السَّبِيۡلِ وَ مِنۡهَا جَآئِرٌ ؕ وَ لَوۡ شَآءَ لَهَدٰٮكُمۡ اَجۡمَعِيۡنَ۝۹

۽ الله تائين پھچندي آھي سڌي راھ. ۽ ڪجھ رستا ٽيڙا بہ آھن ۽ جيڪڏھن الله چاھي ھا تہ توھان سڀني کي
ھدايت ڏئي ڇڏي ھا. ٩

---

ھڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تائين سفر ڪرڻ جي لاءِ مقرر رستو ھوندو آھي جيڪو سڌو منزل تائين پھچائيندو آھي. سواريون پنھنجي منزل جي مطابق انھن سڌن رستن تي ھلنديون آھن. جيئن تہ انھن رستن کان علاوہ بہ آس پاس ٻيا بہ رستا ۽ پيچرا ھوندا آھن. جيڪڏھن ڪو ماڻھو انھن مختلف رستن کي پنھنجو رستو سمجھي انھن تي ھلي پئي تہ ھو ڪڏھن بہ پنھنجي مطلوب منزل تائين نہ تو پھچي سگھي. ھو اصل منزل جي ڪاٻي ساڄي ڀٽڪي ويندو.

اِھوئي معاملو خدا تائين پھچڻ جو بہ آھي. خدا انسان کي واضح طور ٻڌائي ڇڏيو آھي تہ اُھو ڪھڙو رستو آھي جيڪو ان کي خدا تائين پھُچائڻ وارو آھي. اِھو رستو توحيد ۽ تقويٰ جو رستو آھي. جيڪو ماڻھو ان رستي کي اختيار ڪندو، اُھو خدا تائين پھچندو ۽ جيڪو ماڻھو ٻين رستن تي ھلندو، اُھو ھيڏانھن ھوڏانھن ڀٽڪي ويندو. ھو ڪڏھن بہ پنھنجي رب تائين نہ پھچي سگھندو.

دنيا ۾ ھر شيءِ خدا جي مقرر ڪيل رستي تي ھلندي آھي. خدا جيڪڏھن چاھي ھا تہ اھڙي طرح انسان کي بہ ھڪ مقرر رستي جو پابند بڻائي ڇڏي ھا. پر انسان جو تخليقي منصوبو ٻين شين جي تخليقي منصوبي ڪان مختلف آھي. ٻين شين مان رڳو پابندي مطلوب آھي. پر انسان کان جيڪا شيءِ گھربل آھي اُھا اختياري پابندي آھي. ان اختياري پابندي جي موقعي ملڻ جو نتيجو اِھو نڪرندو آھي تہ ڪو ماڻھو سچي رستي تي ھلندو آھي ۽ ڪو ان کي ڇڏي پنھنجي مرضي جي رستن ۾ ڀٽڪندو وتندو آھي.

هُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً لَّكُمْ مِّنْهُ شَرَابٌ وَّ مِنْهُ شَجَرٌ فِيْهِ تُسِيْمُوْنَ۝١٠
يُنْۢبِتُ لَكُمْ بِهِ الزَّرْعَ وَ الزَّيْتُوْنَ وَ النَّخِيْلَ وَ الْاَعْنَابَ وَ مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ ؕ اِنَّ فِيْ
ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ۝١١

اھوئي آھي جنھن آسمان مان پاڻي وسايو، توھان ان مان پيئندا آھيو ۽ ان ئي مان وڻ بہ ٿيندا آھن جن ۾ توھان چاريندا آھيو. ھو ان مان توھان جي لاءِ پوک ۽ زيتون ۽ ڪجيون ۽ انگور ۽ ھر قسم جا ميوا پيدا ڪندو آھي. بيشڪ ان جي اندر نشاني آھي انھن ماڻھن جي لاءِ جيڪي غور ڪندا آھن. ١٠-١١

---

ڪڪر فضا مان پاڻي وسائيندا آھن ۽ ھيٺ زمين تي ان سان نھايت بامعنيٰ قسم جا نتيجا ظاھر ٿيندا آھن. ”زمين ۽ آسمان“ جو اھڙي طرح گڏجي عمل ڪرڻ واضح طور تي اِھو ثابت ڪندو آھي تہ جيڪو خدا آسمان جو آھي، اِھوئي خدا زمين جو بہ آھي.

ڪائنات جي مختلف حصن جي وچ ۾ مڪمل ھم آھنگي آھي. اِھا ھم آھنگي ان ڳالھ جو چٽو ثبوت آھي تہ سڄي ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ صرف ھڪ آھي. ڪائنات جي موجودہ ڍانچي ۾ ھڪ کان وڌيڪ خدائن جي ڪا گنجائش نہ آھي ۽ جڏھن خالق ۽ مالڪ حقيقت ۾ صرف ھڪ خدا آھي تہ ان کانسواءِ ٻي جنھن شيءِ کي بہ معبود جو درجو ڏنو ويندو، اھو سراسر بي بنياد ھوندو.

وَ سَخَّرَ لَكُمُ الَّيۡلَ وَ النَّهَارَ ۙ وَ الشَّمۡسَ وَ الۡقَمَرَ ؕ وَ النُّجُوۡمُ مُسَخَّرٰتٌۢ بِاَمۡرِهٖ ؕ اِنَّ فِیۡ
ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوۡمٍ يَّعۡقِلُوۡنَ ۙ﴿۱۲﴾ وَ مَا ذَرَاَ لَكُمۡ فِی الۡاَرۡضِ مُخۡتَلِفًا اَلۡوَانُهٗ ؕ اِنَّ فِیۡ ذٰلِكَ
لَاٰيَةً لِّقَوۡمٍ يَّذَّكَّرُوۡنَ ﴿۱۳﴾

۽ ان توهان جي ڪم ۾ لڳائي ڇڏيو رات کي ۽ ڏينهن کي ۽ سج کي ۽ چنڊ کي ۽ ستارا به ان جي حڪم جي تابع آهن. بيشڪ ان ۾ نشانيون آهن عقلمند ماڻهن جي لاءِ. ۽ زمين ۾ مختلف قسمن جون شيون توهان جي لاءِ ڦهلائي ڇڏيون، بيشڪ ان ۾ نشاني آهي. انهن ماڻهن لاءِ جيڪي سبق حاصل ڪن. ١٢-١٣

---

سج، چنڊ، ستارا وسيع خلا ۾ انتهائي منظم طريقي سان مسلسل گردش ڪندا آهن. زمين ۾ طرح طرح جي مخلوق (حيوانات، نباتات، جمادات) بيشمار تعداد ۾ موجود آهن. پهرين ذڪر ڪيل ۾ تابع ڪرڻ واري امر جو پهلو نمايان آهي ۽ زمين ۽ ان جي مخلوق جي ذڪر ۾ رنگ ۽ قسمن جي مختلف هجڻ جو پهلو نمايان آهي. هڪ منظر خدا جي قدرت جي بي پناهه هئڻ کي ياد ڏياري ٿو. ٻيو منظر خدا جي صفتن جي لاتعداد هئڻ کي.

اِهي منظر ايترا حيرت ناڪ آهن جو ماڻهو انهن کي سنجيدگي سان ڏسي ته هُو انهن کان متاثر ٿيڻ کانسواءِ نه ٿو رهي سگهي. انهن شين ۾ ان کي خدا جي عظمت ۽ ان جي ربوبيت ڏسڻ ۾ ايندي. هو ظاهري واقعن جي اندر لڪيل غيبي حقيقتن کي دريافت ڪري وٺندو. هو مخلوق کي ڏسي خالق جي معرفت ۾ گم ٿي ويندو.

وَ هُوَ الَّذِیۡ سَخَّرَ الۡبَحۡرَ لِتَاۡكُلُوۡا مِنۡهُ لَحۡمًا طَرِيًّا وَّ تَسۡتَخۡرِجُوۡا مِنۡهُ حِلۡيَةً تَلۡبَسُوۡنَهَا ۚ
وَ تَرَی الۡفُلۡكَ مَوَاخِرَ فِيۡهِ وَ لِتَبۡتَغُوۡا مِنۡ فَضۡلِهٖ وَ لَعَلَّكُمۡ تَشۡكُرُوۡنَ ﴿۱۴﴾

۽ اُهوئي آهي جنهن سمنڊ کي توهان جي ڪم ۾ لڳائي ڇڏيو، ته جيئن توهان ان مان تازو گوشت کائو ۽ ان مان زيور ڪيو جنهن کي توهان پائيندا آهيو ۽ توهان ٻيڙين کي ڏسو ٿا ته اُهي ان کي چيري هلنديون آهن ۽ ته جيئن توهان ان جو فضل تلاش ڪريو ۽ ته جيئن توهان شڪر ڪريو. ١٤

---

سمنڊ ۾ لوهه جو ٽڪرو وڌو وڃي ته يڪدم پاڻي جي هيٺ هليو ويندو. پر ان ئي لوهه کي جڏهن جهاز جي شڪل ڏني وڃي ته اُهو ڳرا وزن کڻي سمنڊ ۾ ترڻ لڳندو آهي ۽ هڪ ملڪ کان ٻي ملڪ تائين پهچي ويندو آهي.

هِي خدا جو خاص قانون آهي جنهن جي ذريعي ان سمنڊ جهڙي وسيع مخلوق کي انسان جي لاءِ فائدي وارو بڻائي ڇڏيو. اِهڙي طرح سمنڊ جي اندر حيرت انگيز انتظام تحت مڇي جي صورت ۾ تازو گوشت تيار ڪيو ويندو آهي ۽ ان جي اندر انساني زينت جي لاءِ قيمتي موتي به ٺهندا آهن.

خدا جي لاءِ دنيا جي انتظام جون ٻيون صورتون به ممڪن هيون. مثال طور ائين ٿي پئي سگهيو ته زمين تي سمنڊ نه هجن يا انسان جهڙي طرح خشڪي تي هلندو آهي، اهڙي طرح هُو سمنڊ ۾ به هلڻ لڳي، پر خدا ائين نه ڪيو. ان جو مقصد ماڻهو جي اندر شڪر گذاري جو جذبو پيدا ڪرڻ هو. ماڻهو

جڏهن پنهنجي پيرن سان سمنڊ ۾ نہ ٿو هلي سگهي ۽ ٻيڙي ۽ جهاز تي ويهي ٿو تہ نهايت آسانيءَ سان سمنڊ کي پار ڪرڻ لڳي ٿو تہ ان کي ڏسي قدرتي طور تي ماڻهو جي اندر شڪر جو جذبو پيدا ٿيندو آهي. هو سوچيندو آهي تہ جنهن سمنڊ کي آئون پنهنجي قدمن جي ذريعي پار نہ ٿو ڪري سگهان. خدا ٻيڙي ۽ جهاز ذريعي ان کي پارڻ ڪرڻ جو انتظام ڪري ڇڏيو. هو فضا ۾ پاڻ نہ ٿو اُڏامي سگهي، ان ۾ هوائي جهاز جي ذريعي نهايت تيز رفتاري سان اڏامڻ جي صورت پيدا ڪئي وئي.

اِهڙي قسم جا فرق قدرت جي نظام ۾ ان ڪري رکيا ويا آهن جو اُهي انسان جي شعور کي جاڳائين ۽ ان جي اندر پنهنجي رب لاءِ شڪر ۽ احسان مندي جو جذبو پيدا ڪن.

وَ اَلۡقٰی فِی الۡاَرۡضِ رَوَاسِیَ اَنۡ تَمِیۡدَ بِکُمۡ وَ اَنۡهٰرًا وَّ سُبُلًا لَّعَلَّکُمۡ تَهۡتَدُوۡنَ ﴿۱۵﴾ وَ عَلٰمٰتٍ ؕ
وَ بِالنَّجۡمِ هُمۡ یَهۡتَدُوۡنَ ﴿۱۶﴾

۽ ان زمين ۾ جبل رکي ڇڏيا تہ جيئن هو توهان کي نہ لوڏي ۽ اُن نهرون ۽ رستا ٺاهيا تہ جيئن توهان کي راهہ ملي.
۽ گهڻيون ٻيون نشانيون بہ آهن ۽ ماڻهو تارن سان پڻ رستو معلوم ڪن ٿا. ١٥-١٦

---

هِتي ٻن شين جو ذڪر آهي. جبل بلند ڪري زمين تي توازن قائم ڪرڻ جو ۽ زمين ۽ آسمان ۾ اِهڙيون نشانيون قائم ڪرڻ جو جيڪي ماڻهن لاءِ رستو معلوم ڪرڻ جو ڪم ڏين.

جاگرافيائي مطالعو ٻڌائي ٿو تہ زمين ۾ جڏهن گهرايون پيدا ٿيون ۽ ان ۾ پاڻي جمع ٿي سمنڊ بڻجي ويا تہ زمين لڏڻ لڳي. ان ڪانپوءِ خشڪي تي بلند جبل نڪري آيا. اهڙي طرح ٻہ طرفي عمل جي نتيجي ۾ زمين تي توازن قائم ٿي ويو. جيڪڏهن زمين جي سطح تي اِهو توازن نہ هجي ها تہ انسان جي لاءِ هِتي زندگي ناممڪن يا سخت دشوار ٿي وڃي ها.

اِهڙي طرح انسان کي پنهنجي سفر ۽ نقل و حرڪت جي لاءِ نشانين جي ضرورت آهي جن جي مدد سان هو رخ کي سڃاڻي ۽ ڀٽڪڻ کانسواءِ پنهنجي منزل تي پهچي وڃي. ان جو انتظام بہ هِتي ڪامل طور تي موجود آهي. قديم زماني جو انسان دريائن ۽ ستارن جهڙين شين سان پنهنجا رستا سڃاڻندو هو. هاڻي هو مقناطيسي اوزارن جي مدد سان پنهنجا رستا ۽ ٻيون ضروري ڳالهيون معلوم ڪندو آهي. بر ۽ بحر ۽ فضائن ۽ خلائن ۾ تيز رفتار پروازون ان جي مدد سان ئي ممڪن هونديون آهن. جيڪڏهن اهڙي قسم جون علامتون موجود نہ هجن تہ انساني سرگرميون انتهائي حد تائين محدود ٿي وڃن.

اَفَمَنۡ یَّخۡلُقُ کَمَنۡ لَّا یَخۡلُقُ ؕ اَفَلَا تَذَکَّرُوۡنَ ﴿۱۷﴾ وَ اِنۡ تَعُدُّوۡا نِعۡمَةَ اللّٰهِ لَا تُحۡصُوۡهَا ؕ اِنَّ
اللّٰهَ لَغَفُوۡرٌ رَّحِیۡمٌ ﴿۱۸﴾ وَ اللّٰهُ یَعۡلَمُ مَا تُسِرُّوۡنَ وَ مَا تُعۡلِنُوۡنَ ﴿۱۹﴾

پوءِ ڇا جيڪو پيدا ڪندڙ آهي، اُهو برابر آهي اُن جي جيڪو ڪجهہ بہ پيدا نہ ٿو ڪري سگهي، ڇا توهان سوچيو نہ ٿا. جيڪڏهن توهان الله جي نعمتن کي ڳڻيو تہ توهان انهن کي ڳڻي نہ سگهندو. بيشڪ الله بخشڻ وارو، مهربان آهي. ۽ الله ڄاڻي ٿو جيڪي ڪجهہ توهان لڪايو ٿا ۽ جيڪو توهان ظاهر ڪريو ٿا. ١٧-١٩

---

دنيا ۾ جيتريون شيون آهن، انهن مان ڪنهن جي اندر تخليق (عدم مان وجود ۾ آڻڻ) جي طاقت نہ آهي. ان مان ثابت آهي تہ هِي دنيا پنهنجي خالق پاڻ نہ آهي. ان جو خالق اُهوئي ٿي سگهي ٿو جنهن جي اندر اِهاطاقت هجي جو هڪ شيءِ جيڪا موجود نہ آهي ان کي موجود ڪري ڇڏي. ان ڪري هڪ خدا جو عقيدو بلڪل فطري عقيدو آهي. ڪائنات جي تخليق جو سبب هڪ اِهڙي خدا کي مڃڻ کان بغير نہ ٿو ڪري سگهجي، جنهن جي اندر تخليق جي ڪامل صلاحيت هجي.

مشرڪن خدا ڪانسواءِ جيترا خدا جا شريڪ گهڙيا آهن يا منڪرن خدا کي ڇڏي جن ٻين شين کي خدا جو بدل بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انهن مان ڪوبہ اهڙو نہ آهي جنهن جي اندر ذاتي تخليق جي صلاحيت هجي. اهوئي واقعو اِهو ثابت ڪرڻ جي لاءِ ڪافي آهي تہ شرڪ ۽ الحاد جا گهڙيل سڀئي خدا سراسر فرضي آهن. ڇاڪاڻ تہ جنهن جي اندر تخليق جي قوت نہ هجي ان جي متعلق هِي دعويٰ ڪرڻ سراسر بي بنياد آهي تہ هو هڪ موجود ڪائنات جو خدا آهي. جيڪو خود ذاتي وجود نہ رکندو هجي، اُهو ڪهڙي طرح ٻين شين کي وجود ڏئي سگهي ٿو.

خدا کي پنهنجن ٻانهن مان سڀ کان وڌيڪ جيڪا شيءِ گهربل آهي، اُها ان جي نعمتن تي شڪرگذاري آهي. جيتوڻيڪ خدا جون نعمتون اُن کان گهڻيون آهن جو ڪوبہ شخص انهن جو شڪر ادا ڪري سگهي. پر خدا بي نياز آهي. هو گهڻين نعمتن جي لاءِ ٿورو شڪر بہ قبول ڪري وٺندو آهي. پر اِهو شڪر حقيقي شڪر هئڻ گهرجي نہ وري صرف رسمي.

وَ الَّذِيۡنَ يَدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ لَا يَخۡلُقُوۡنَ شَيۡـًٔا وَّ هُمۡ يُخۡلَقُوۡنَ ؕ﴿۲۰﴾ اَمۡوَاتٌ غَيۡرُ
ع۲ ۸ اَحۡيَآءٍ ۚ وَ مَا يَشۡعُرُوۡنَ ۙ اَيَّانَ يُبۡعَثُوۡنَ ﴿۲۱﴾ اِلٰهُكُمۡ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَالَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ
بِالۡاٰخِرَةِ قُلُوۡبُهُمۡ مُّنۡكِرَةٌ وَّ هُمۡ مُّسۡتَكۡبِرُوۡنَ ﴿۲۲﴾ لَا جَرَمَ اَنَّ اللّٰهَ يَعۡلَمُ مَا يُسِرُّوۡنَ وَ
مَا يُعۡلِنُوۡنَ ؕ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الۡمُسۡتَكۡبِرِيۡنَ ﴿۲۳﴾

۽ جن کي ماڻهو الله ڪانسواءِ سڏيندا آهن اُهي ڪنهن شيءِ کي پيدا نہ ٿا ڪري سگهن ۽ اُهي خود پيدا ڪيا ويا آهن. اُهي مرده آهن جن ۾ جان نہ آهي ۽ اُهي نہ ٿا ڄاڻن تہ اُهي ڪڏهن اٿاريا ويندا. توهان جو معبود هڪ ئي معبود آهي، پر جيڪي ماڻهو آخرت تي ايمان نہ ٿا رکن، انهن جون دليون منڪر آهن ۽ اُهي تڪبر ڪندا آهن. الله بيشڪ ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهہ اُهي لڪائيندا آهن ۽ جيڪو ڪجهہ اُهي ظاهر ڪندا آهن. بيشڪ هو تڪبر ڪرڻ وارن کي پسند نہ ٿو ڪري. ٢٠-٢٣

---

اڪثر شرڪ جي صورت اِها هوندي آهي تہ گذريل بزرگن کي مقدس ۽ مقرب مڃي ماڻهو انهن جي پرستش ڪرڻ لڳندا آهن. حالانڪ اِها پرستش سراسر بيوقوفي آهي. جن دفن ٿيل بزرگن جون وڏيون قبرون ڏسي ماڻهو انهن کان مرادون گهرندا آهن، اُهي خود مرده حالت ۾ عالم برزخ ۾ پيا هوندا آهن. انهن کي خود پنهنجي باري ۾ بہ معلوم نہ هوندو آهي تہ اُهي ڪڏهن اٿاريا ويندا، پوءِ اُهي ڪهڙي طرح ڪنهن ٻئي جي مدد ڪري سگهندا.

”هو تڪبر ڪندا آهن“ جو مطلب اِهو نہ آهي تہ هو خدا سان تڪبر ڪندا آهن. زمين ۽ آسمان

جي خالق سان تڪبر جي همت ڪير ڪندو. ان مان مراد اصل ۾ خدا جي داعيءَ سان تڪبر آهي نہ وري خود خدا سان تڪبر. الله جو جيڪو ٻانهو توحيد جو داعي بڻجي بيهندو آهي، اُهو دنياوي لحاظ کان پنهنجي مخاطبن جي مقابلي ۾ هميشہ گهٽ هوندو آهي. ڇاڪاڻ جو مخاطب رواجي مذهب جا حامي هئڻ جي ڪري اوچي مقام تي هوندا آهن جڏهن تہ حق جو داعي ”نئين دين“ جو علمبردار هئڻ جي ڪري اعليٰ مقام کان محروم هوندو آهي. هُو مخاطبن کي پنهنجي مقابلي ۾ مادي لحاظ کان ڪمتر نظر ايندو آهي. تنهن ڪري انهن جي اندر برتري جي نفسيات پيدا ٿي ويندي آهي. هو ان جي ڳالهہ کي بي وزن سمجهي ان کي نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهن.

اهڙن ماڻهن جو ڪيس جيتوڻيڪ تڪبر جو ڪيس هوندو آهي، پر اُهي ان کي اصولي ۽ نظرياتي ڪيس بڻائي پيش ڪندا آهن. پر الله کي ماڻهن جي اندروني نفسيات جو حال خوب معلوم آهي. الله انهن جي اصل حقيقت جي لحاظ کان انهن سان سلوڪ ڪندو نہ وري انهن جي ظاهري ڳالهين جي لحاظ سان.

٣ وَ اِذَا قِيۡلَ لَهُمۡ مَّا ذَاۤ اَنۡزَلَ رَبُّكُمۡ ۙ قَالُوۡۤا اَسَاطِيۡرُ الۡاَوَّلِيۡنَ ۝۲۴ لِيَحۡمِلُوۡۤا اَوۡزَارَهُمۡ
ع كَامِلَةً يَّوۡمَ الۡقِيٰمَةِ ۙ وَ مِنۡ اَوۡزَارِ الَّذِيۡنَ يُضِلُّوۡنَهُمۡ بِغَيۡرِ عِلۡمٍ ؕ اَلَا سَآءَ مَا يَزِرُوۡنَ ۝۲۵
٩

۽ جڏهن انهن کي چيو وڃي تہ توهان جي رب ڪهڙي شيءِ نازل ڪئي آهي تہ چوندا آهن تہ اڳين ماڻهن جون آکاڻيون آهن تہ جيئن هو قيامت جي ڏينهن پنهنجا بار بہ پورا کڻن ۽ انهن ماڻهن جي بار مان بہ جن کي هو بغير ڪنهن علم جي گمراهہ ڪري رهيا آهن. ياد رکو ڏاڍو برو آهي اُهو بار جنهن کي هو کڻي رهيا آهن. ٢٤-٢٥

---

روايتن ۾ ايندو آهي تہ رسول الله ﷺ جڏهن مڪي ۾ نبوت جي دعويٰ ڪئي ۽ ان جي خبر آهستي آهستي عرب جي ٻين قبيلن ۾ پهتي تہ هو ملاقات جي وقت مڪي جي سردارن کان پڇندا هئا تہ جنهن ماڻهو نبوت جي دعويٰ ڪئي آهي، ان جي باري ۾ توهان جي ڇا راءِ آهي. ان جي جواب ۾ مڪي جا سردار ڪا اِهڙي ڳالهہ چئي ڏيندا هئا جنهن سان پاڻ ﷺ جي شخصيت ۽ پاڻ ﷺ جي ڪلام جي باري ۾ ماڻهو شڪ ۾ مبتلا ٿي وڃن. (التفسير المظهري)

ان جو هڪ طريقو اِهو آهي تہ ڳالهہ کي ٿوڙي مروڙي بيان ڪيو وڃي. مثال طور قرآن ۾ پيغمبرن جو ذڪر آهي، ان جي متعلق هو ”پوئين پيغمبرن جي تاريخ“ جو لفظ بہ چئي سگهندا هئا، پر ان کي انهن ”پوئين ماڻهن جا قصا ڪهاڻيون“ جو نالو ڏئي ڇڏيو.

حق جي دعوت کان ماڻهن کي اهڙي طرح ڦيرائڻ يا مشڪوڪ ڪرڻ خدا جي نزديڪ بدترين جرم آهي. اهڙن ماڻهن کي قيامت جي ڏينهن ٻيڻو عذاب ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ هو نہ رڳو پاڻ گمراهہ ٿيا، بلڪ ٻين کي گمراهہ ڪرڻ جو ذريعو بہ بڻيا.

قَدۡ مَكَرَ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ فَاَتَى اللّٰهُ بُنۡيَانَهُمۡ مِّنَ الۡقَوَاعِدِ فَخَرَّ عَلَيۡهِمُ السَّقۡفُ
مِنۡ فَوۡقِهِمۡ وَ اَتٰىهُمُ الۡعَذَابُ مِنۡ حَيۡثُ لَا يَشۡعُرُوۡنَ ۝۲۶ ثُمَّ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ يُخۡزِيۡهِمۡ وَ

يَقُوۡلُ اَيۡنَ شُرَكَآءِىَ الَّذِيۡنَ كُنۡتُمۡ تُشَآقُّوۡنَ فِيۡهِمۡ‌ؕ قَالَ الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡعِلۡمَ اِنَّ الۡخِزۡىَ الۡيَوۡمَ وَالسُّوۡۤءَ عَلَى الۡكٰفِرِيۡنَۙ ﴿۲۷﴾

انهن کان اڳين به تدبيرون ڪيون. پوءِ الله جي حڪم سندن عمارتن جي بنياد کي ئي پٽي ڇڏيو. پوءِ ڇت مٿن اچي پئي ۽ مٿن عذاب اُتان آيو جتان کين گمان ئي نه هو. پوءِ قيامت جي ڏينهن الله انهن کي رسوا ڪندو ۽ چوندو ته اُهي منهنجا شريڪ ڪٿي آهن جن لاءِ توهان جهڳڙو ڪندا هئا. جن کي علم ڏنو ويو اُهي چوندا ته اڄ رسوائي ۽ عذاب آهي ڪافرن لاءِ. ٢٦-٢٧

---

جيڪي ماڻهو ڪوڙن بنيادن تي وڏائيءَ جو مقام حاصل ڪيل آهن، اُهي جڏهن ڪنهن حق جي دعوت کي بلند ٿيندي ڏسندا آهن ته انهن کي پنهنجي وڏائي خطري ۾ محسوس ٿيڻ لڳندي آهي. اُهي پنهنجي وڏائي جي تحفظ لاءِ اهڙيون تدبيرون ڪندا آهن جو حق جي دعوت جي خلاف فتني واريون ڳالهيون ڦهلائيندا آهن، جن سان عوام ان دعوت جي باري ۾ مشڪوڪ ٿي وڃن ۽ ان سان ڳنڍجي نه سگهن.

پر حق جي دعوت جي خلاف اهڙن ماڻهن جون تدبيرون ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيون ٿين. حق جا مخالف پنهنجن جن بنيادن تي ڀروسو ڪري رهيا هئا، اُهي ئي بنياد اهڙي طرح ڪمزور ثابت ٿيندا آهن جو سندن ڇت مٿن اچي ڪرندي آهي. ڪڏهن ائين ٿيندو آهي جو ڪو قدرتي زلزلو سندن بنيادن کي لوڏي سندن عمارت کي سندن مٿان ڪِرائي ڇڏيندو آهي. ڪڏهن سندن عوام انهن جو ساٿ ڇڏي حق جي صفن ۾ شامل ٿي ويندي آهي ۽ اهڙي طرح هو پنهنجي مددگارن کي وڃائي مجبور ٿي ويندا آهن ته حق جي دعوت جي اڳيان هٿيار ڦٽا ڪن. اِهو انجام پنهنجي آخري ۽ مڪمل صورت ۾ قيامت ۾ سامهون ايندو. جڏهن منڪر پنهنجي ابدي ذلت کي ڏسندا ۽ ڪجھ نه ڪري سگهندا.

الَّذِيۡنَ تَتَوَفّٰٮهُمُ الۡمَلٰۤـئِكَةُ ظَالِمِىۡۤ اَنۡفُسِهِمۡ‌ فَاَلۡقَوُا السَّلَمَ مَا كُنَّا نَعۡمَلُ مِنۡ سُوۡۤءٍ‌ؕ بَلٰٓى اِنَّ اللّٰهَ عَلِيۡمٌۢ بِمَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۲۸﴾ فَادۡخُلُوۡۤا اَبۡوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَا‌ؕ فَلَبِئۡسَ مَثۡوَى الۡمُتَكَبِّرِيۡنَ ﴿۲۹﴾

جن ماڻهن کي فرشتا اِهڙي حال ۾ وفات ڏيندا جو هو پنهنجن جانين تي ظلم ڪري رهيا هوندا ته ان وقت هو صلح پيش ڪندا، چوندا ته اسان ته ڪو برو ڪم نه ڪندا هئاسون، ها بيشڪ الله ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجھ توهان ڪندا هئا. هاڻي جهنم جي دروازن ۾ داخل ٿي وڃو. ان ۾ سدائين رهو. پوءِ ڪهڙو برو ٺڪاڻو آهي تڪبر ڪرڻ وارن جو. ٢٨-٢٩

---

تڪبر سيني کان وڏو جرم آهي. خدا انسان جي هر غلطي معاف ڪري ڇڏيندو، پر هو تڪبر کي معاف نه ڪندو.

تڪبر جي اظهار جون به وڏيون صورتون آهن. هڪ تڪبر اُهو آهي جيڪو عام ماڻهن جي وچ ۾ ظاهر ٿيندو آهي. هڪ ماڻهو طاقت، دولت ۽ سازوسامان ۾ پاڻ کي ٻئي جي مقابلي ۾ وڌيڪ ڏسندو آهي، ان ڪري هو ان کان تڪبر ڪرڻ لڳندو آهي.

پيو وڏيڪ تڪبر اِهو آهي جيڪو حق جي داعيءَ سان ڪيو ويندو آهي. خدا جو هڪ ٻانهو خدا جي سچي دين جي دعوت کڻي ايندو آهي. هاڻي جيڪي ماڻهو ڪوڙي دين جي بنياد تي وڏائي جو مقام حاصل ڪيل هوندا آهن، اُهي محسوس ڪندا آهن ته انهن تي ان دعوت جي چوٽ لڳي رهي آهي. اُهي سچي دين جي معيار تي بي قيمت ثابت ٿي رهيا آهن. اِهو ڏسي اُهي مچرجي پوندا آهن ۽ حق جي داعي کي تڪبر واري نفسيات سان نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن.

ماڻهو جڏهن ڪنهن جي مقابلي ۾ تڪبر ڪندو آهي ته ان ڪري ڪندو آهي جو هو سمجهي ٿو ته اِهو ان جو ڪجھ بگاڙي نه ٿو سگهي. پر جڏهن موت جا فرشتا ايندا ۽ ان کي بي وس ڪري ڇڏيندا، ان وقت ان کي خبر پوندي ته معاملو ڪنهن انسان جو نه بلڪ خدا جو هو. انسان ڪنهن ٻئي انسان جي مقابلي ۾ طاقتور ٿي سگهي ٿو، پر خدا جي مقابلي ۾ ڪير طاقتور آهي. خدا جا فرشتا جڏهن انسان کي پنهنجي قبضي ۾ وٺندا آهن ته ان وقت هر ماڻهو هٿيار ڦٽا ڪندو آهي. پر الله جو سچو ٻانهو اُهو آهي جيڪو ان موقعي جي اچڻ کان پهرين خدا جي اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏي.

وَ قِيۡلَ لِلَّذِيۡنَ اتَّقَوۡا مَا ذَاۤ اَنۡزَلَ رَبُّكُمۡ ؕ قَالُوۡا خَيۡرًا ؕ لِلَّذِيۡنَ اَحۡسَنُوۡا فِىۡ هٰذِهِ الدُّنۡيَا حَسَنَةٌ ؕ وَ لَدَارُ الۡاٰخِرَةِ خَيۡرٌ ؕ وَ لَنِعۡمَ دَارُ الۡمُتَّقِيۡنَ ۙ﴿۳۰﴾ جَنّٰتُ عَدۡنٍ يَّدۡخُلُوۡنَهَا تَجۡرِىۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ لَهُمۡ فِيۡهَا مَا يَشَآءُوۡنَ ؕ كَذٰلِكَ يَجۡزِى اللّٰهُ الۡمُتَّقِيۡنَ ۙ﴿۳۱﴾ الَّذِيۡنَ تَتَوَفّٰهُمُ الۡمَلٰٓئِكَةُ طَيِّبِيۡنَ ۙ يَقُوۡلُوۡنَ سَلٰمٌ عَلَيۡكُمُ ۙ ادۡخُلُوا الۡجَنَّةَ بِمَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۳۲﴾

۽ جيڪي تقويٰ وارا آهن، انهن کي چيو ويو ته توهان جي رب ڪهڙي شيءِ نازل ڪئي آهي ته انهن چيو ته چڱائي. جن ماڻهن ڀلائي ڪئي سندن لاءِ هِن دنيا ۾ به ڀلائي آهي ۽ آخرت جو گهر بهتر آهي ۽ ڪهڙو نه چڱو گهر آهي تقويٰ وارن جو. هميشه رهڻ وارا باغ آهن جن ۾ هو داخل ٿيندا. جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون. سندن لاءِ اُتي سڀ ڪجھ هوندو جيڪو هو چاهين، الله پرهيزگارن کي اِهڙوئي بدلو ڏيندو. جن جو روح فرشتا اِهڙي حالت ۾ قبض ڪندا آهن جو اُهي پاڪ آهن. فرشتا چوندا آهن توهان تي سلامتي هجي، جنت ۾ داخل ٿي وڃو پنهنجي عملن جي بدلي ۾. ٣٠-٣٢

---

جيڪي ماڻهو تڪبر جي نفسيات ۾ مبتلا هجن، اُهي خدا جي ڳالھ ٻڌندا آهن ته سندن ذهن اُبتي رخ ۾ هلڻ لڳندو آهي. ان ڪري هو ان مان نصيحت حاصل نه ٿا ڪري سگهن، پر جنهن ماڻهوءَ جي دل ۾ الله جو خوف هجي، اُهو خدا جي ڳالھ کي پوري آمادگيءَ سان ٻڌندو آهي. اِهڙي ماڻهو جي لاءِ الله جو ڪلام معرفت جو ذريعو بڻجي ويندو آهي. ان کي ان جي اندر حقيقت جون جهلڪيون ڏسڻ ۾ اچڻ لڳنديون آهن.

جنت جي صفت اِها آهي ته اُتي اُهو سڀ ڪجھ آهي جيڪو انسان چاهي. اِها اهڙي شيءِ آهي جيڪا ڪڏهن ڪنهن انسان کي ته ڇا پر وڏن وڏن بادشاهن کي به حاصل نه ٿي سگهي. موجوده دنيا ۾

انسان جو محدود هجڻ ۽ ٻاهرين حالتن جو موافق نه هجڻ جي ڪري ڪڏهن به ائين نه ٿيندو آهي ته انسان جيڪو ڪجهه چاهي ان کي حاصل ڪري وٺي. اِهو تصور ته ”جنت ۾ اهو سڀ ڪجهه هوندو جيڪو انسان چاهيندو“ ايترو خوبصورت آهي جو ان جي خاطر جيڪا قرباني به ڏيڻي پوي اُها بيشڪ ٿوري آهي.

هَلۡ يَنۡظُرُوۡنَ اِلَّاۤ اَنۡ تَاۡتِيَهُمُ الۡمَلٰٓٮِٕكَةُ اَوۡ يَاۡتِىَ اَمۡرُ رَبِّكَ ؕ كَذٰلِكَ فَعَلَ الَّذِيۡنَ مِنۡ
قَبۡلِهِمۡ ؕ وَ مَا ظَلَمَهُمُ اللّٰهُ وَ لٰكِنۡ كَانُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ يَظۡلِمُوۡنَ ﴿۳۳﴾ فَاَصَابَهُمۡ سَيِّاٰتُ مَا
ع ١٠ عَمِلُوۡا وَ حَاقَ بِهِمۡ مَّا كَانُوۡا بِهٖ يَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ﴿۳۴﴾

ڇا اِهي ماڻهو ان انتظار ۾ آهن جو انهن وٽ ملائڪ اچن يا تنهنجي رب جو حڪم اچي وڃي. انهن کان اڳين به ائين ئي ڪيو. ۽ الله انهن تي ظلم نه ڪيو بلڪ هو پنهنجي پاڻ تي ظلم ڪري رهيا هئا. پوءِ انهن کي سندن برن ڪمن جون سزائون مليون. ۽ جنهن شيءِ جو هو مذاق اڏائيندا هئا، ان کين گهيري ورتو. ٣٣-٣٤

---

خدا جي ڳالهه انسان جي سامهون شروع ۾ دليل جي ذريعي بيان ڪئي ويندي آهي. هِي دعوتي مرحلو هوندو آهي. جيڪڏهن هو دليل جي ذريعي نه مڃي ته پوءِ اِهو وقت اچي ويندو آهي جو انفرادي موت يا اجتماعي قيامت جي صورت ۾ ان کي ماڻهن جي سامهون واضح ڪري ڇڏبو آهي.

ماڻهوءَ جي سامهون جيڪڏهن خدا جي ڳالهه دليل جي ذريعي اچي ۽ هو ان کي نظرانداز ڪري ڇڏي ته ڄڻ هو ان ٻئي مرحلي جو انتظار ڪري رهيو آهي جو خدا ۽ ان جا فرشتا ظاهر ٿي وڃن ۽ ماڻهو ان ڳالهه کي ذلت سان مڃڻ تي مجبور ٿي وڃي، جنهن کي عزت سان مڃڻ جو موقعو ڏنو ويو هو پر هُن نه مڃيو.

وَ قَالَ الَّذِيۡنَ اَشۡرَكُوۡا لَوۡ شَآءَ اللّٰهُ مَا عَبَدۡنَا مِنۡ دُوۡنِهٖ مِنۡ شَىۡءٍ نَّحۡنُ وَ لَاۤ اٰبَآؤُنَا وَ لَا
حَرَّمۡنَا مِنۡ دُوۡنِهٖ مِنۡ شَىۡءٍ ؕ كَذٰلِكَ فَعَلَ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ ۚ فَهَلۡ عَلَى الرُّسُلِ اِلَّا
الۡبَلٰغُ الۡمُبِيۡنُ ﴿۳۵﴾

۽ جن ماڻهن شرڪ ڪيو هو چوندا آهن جيڪڏهن الله چاهي ها ته اسان ان کانسواءِ ڪنهن شيءِ جي عبادت نه ڪريون ها، نه اسان ۽ نه اسان جا ابا ڏاڏا ۽ نه اسان ان کانسواءِ ڪنهن شيءِ کي حرام ڪريون ها. انهن کان اڳين به ائين ئي ڪيو هو، تنهن ڪري رسولن جي ذِمي ته رڳو صاف صاف پهچائي ڇڏڻ آهي. ٣٥

---

غافل انسان حق جي انڪار کي جائز ثابت ڪرڻ لاءِ جيڪي ڳالهيون ڪندو آهي، انهن مان هڪ ڳالهه اِها آهي ته جڏهن هِن دنيا ۾ هر شيءِ خدا جي مرضيءَ سان ٿيندي آهي ته اسان جو موجوده عمل به خدا جي مرضي سان ئي آهي. اُن جي مرضي نه هجي ها ته اسان ائين ڪري ئي نه سگهون ها. جيڪڏهن واقعي خدا کي اسان جا ڪم پسند نه هجن ها ته هو اسان کي اهڙو ڪم ڪرڻ ڇو ڏي ها. پوءِ ته ائين ٿيڻ کپي ها جو جڏهن به اسان اُن جي مرضي جي خلاف ڪو ڪم ڪريون ها ته هو يڪدم اسان کي روڪي ڇڏي ها.

اِها ڳالهه ماڻهو رڳو ان ڪري چوندو آهي جو هو حق ۽ ناحق جي معاملي ۾ سنجيده نه هوندو

آهي. جيڪڏهن هو سنجيده هجي ته يڪدم ان کي سمجهه ۾ اچي وڃي ته ان کي موجوده عمل جي جيڪا چوٽ آهي، اُها امتحان جي ڪري آهي نه وري خدا جي پسند جي ڪري.

وَ لَقَدۡ بَعَثۡنَا فِیۡ کُلِّ اُمَّۃٍ رَّسُوۡلًا اَنِ اعۡبُدُوا اللّٰہَ وَ اجۡتَنِبُوا الطَّاغُوۡتَ ۚ فَمِنۡہُمۡ مَّنۡ ہَدَی اللّٰہُ وَ مِنۡہُمۡ مَّنۡ حَقَّتۡ عَلَیۡہِ الضَّلٰلَۃُ ؕ فَسِیۡرُوۡا فِی الۡاَرۡضِ فَانۡظُرُوۡا کَیۡفَ کَانَ عَاقِبَۃُ الۡمُکَذِّبِیۡنَ ﴿۳۶﴾ اِنۡ تَحۡرِصۡ عَلٰی ہُدٰىہُمۡ فَاِنَّ اللّٰہَ لَا یَہۡدِیۡ مَنۡ یُّضِلُّ وَ مَا لَہُمۡ مِّنۡ نّٰصِرِیۡنَ ﴿۳۷﴾

۽ اسان هر امت ۾ هڪ رسول موڪليو ته الله جي عبادت ڪريو ۽ طاغوت کان بچو. پوءِ انهن مان ڪن کي الله هدايت ڏني ۽ ڪِن تي گمراهي ثابت ٿي. پوءِ زمين ۾ هلي ڦري ڏسو ته ڪوڙو ڀائيندڙن جو انجام ڇا ٿيو. جيڪڏهن تون انهن جي هدايت لاءِ حرص ڪندين ته الله ان کي هدايت نه ٿو ڏي جنهن کي هو گمراهه ڪندو آهي ۽ انهن جو ڪو به مددگار نه آهي. ٣٦-٣٧

---

خدا ڪٿي پنهنجا پيغمبر موڪليا ۽ ڪٿي پيغمبر جي نائبن ۽ نمائندن جي ذريعي پنهنجو پيغام پهچائڻ جو انتظام ڪيو. انهن سڀني ماڻهن انسان کي جنهن شيءِ جي نصيحت ڪئي، اُها هي هئي ته عبادت جو حق صرف هڪ خدا جو آهي. شيطان ان عبادت کان انسان کي ڦيرائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ان ڪري ماڻهو کي گهرجي ته هو شيطان جي ورغلائڻ کان بچي نه ته هو ماڻهو کي ڪوڙن معبودن جي پرستش جي رستي تي هلائي ڇڏيندو.

هدايت جيتوڻيڪ واضح آهي، پر ان کي قبول ڪرڻ يا نه ڪرڻ جو دارومدار سڄي جو سڄو ان ڳالهه تي آهي ته ماڻهو ان جي باري ۾ ڪيترو سنجيده آهي. جيڪو ماڻهو هدايت تي سنجيدگي سان غور ڪندو، ان کي ان جي صداقت کي پائڻ ۾ دير نه لڳندي. پر جيڪو ماڻهو ان جي باري ۾ سنجيده نه هوندو ته هو معمولي معمولي ڳالهين تي اٽڪي پوندو. اِهڙو ماڻهو ڪڏهن به حق کي حاصل نه ڪري سگهندو.

وَ اَقۡسَمُوۡا بِاللّٰہِ جَہۡدَ اَیۡمَانِہِمۡ ۙ لَا یَبۡعَثُ اللّٰہُ مَنۡ یَّمُوۡتُ ؕ بَلٰی وَعۡدًا عَلَیۡہِ حَقًّا وَّ لٰکِنَّ اَکۡثَرَ النَّاسِ لَا یَعۡلَمُوۡنَ ﴿ۙ۳۸﴾ لِیُبَیِّنَ لَہُمُ الَّذِیۡ یَخۡتَلِفُوۡنَ فِیۡہِ وَ لِیَعۡلَمَ الَّذِیۡنَ کَفَرُوۡۤا اَنَّہُمۡ کَانُوۡا کٰذِبِیۡنَ ﴿۳۹﴾ اِنَّمَا قَوۡلُنَا لِشَیۡءٍ اِذَاۤ اَرَدۡنٰہُ اَنۡ نَّقُوۡلَ لَہٗ کُنۡ فَیَکُوۡنُ ﴿٤۰﴾ ع ٦ / ١١

۽ اِهي ماڻهو الله جو قَسم ڪڻندا آهن، پڪا قسم ته جيڪو ماڻهو مري ويندو، الله ان کي نه اٿاريندو. هائو اِهو ان تي هڪ پڪو واعدو آهي، پر اڪثر ماڻهو نه ٿا ڄاڻن ته جيئن انهن جي سامهون ان شيءِ کي واضح ڪري ڇڏي، جنهن ۾ هو اختلاف ڪري رهيا آهن ۽ انڪار ڪرڻ وارا ماڻهو ڄاڻي وٺن ته اُهي ڪوڙا هئا. اسان جڏهن ڪنهن شيءِ جو ارادو ڪندا آهيون ته اُن کي ايتروئي چوندا آهيون ته ٿي پؤ ته هو ٿي پوندو آهي. ٣٨-٤٠

---

موجوده دنيا ڪجهه اهڙي ڍنگ تي ٺهي آهي جو هِتي حق ۽ ناحق اهڙي طرح ثابت نه ٿا ٿي سگهن

جو ڪنهن جي لاءِ انڪار جي گنجائش باقي نہ رهي. هتي ماڻهو هر دليل کي رد ڪرڻ جي لاءِ ڪجهہ لفظ ڳولي وٺندو آهي. هر ثابت ٿيل شيءِ کي مشڪوڪ بڻائڻ جي لاءِ هو ڪو نہ ڪو عذر ڪڍي وٺندو آهي.

اِها ڳالهہ ڪائنات جي مزاج جي سراسر خلاف آهي. مادي علم ۾ ماڻهوءَ جي لاءِ ممڪن هوندو آهي تہ هو قطعي نتيجي تائين پهچي سگهي. اهڙي طرح اهو بہ ضرور ٿيڻ کپي تہ انساني معاملن ۾ پوري ۽ قطعي حقيقت کلي سامهون اچي وڃي. اِهوئي اُهو ڪم آهي جيڪو قيامت ۾ انجام ڏنو ويندو. شاهہ عبدالقادر دهلوي لکن ٿا تہ هن جهان ۾ گهڻن ئي ڳالهين ۾ شڪ رهيو. ڪنهن الله کي مڃيو ۽ ڪو ان جو منڪر رهيو تہ ٻيو جهان هئڻ لازم آهي، تہ جهيڙي جي تحقيق ٿئي. سچ ۽ ڪوڙ جدا ٿين ۽ تابعدار ۽ منڪر پنهنجو ڪيل ڪمائين.

وَ الَّذِيْنَ هَاجَرُوْا فِي اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا ظُلِمُوْا لَنُبَوِّئَنَّهُمْ فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً ؕ وَ لَاَجْرُ الْاٰخِرَةِ اَكْبَرُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤١﴾ الَّذِيْنَ صَبَرُوْا وَ عَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿٤٢﴾

۽ جن ماڻهن الله جي لاءِ پنهنجو وطن ڇڏيو، ان ڪانپوءِ جو انهن تي ظلم ڪيو ويو، اسان انهن کي دنيا ۾ ضرور چڱو ٺڪاڻو ڏينداسون ۽ آخرت جو ثواب تہ تمام وڏو آهي، ڪاش! اُهي ڄاڻن ها. هو اِهڙا آهن جو صبر ڪندا آهن ۽ پنهنجي رب تي ڀروسو رکندا آهن. ٤١-٤٢

---

اڪثر مفسرن هن آيت کي ان ٨٠ صحابن جي متعلق مڃيو آهي جيڪي مڪي ۾ اسلام جي مخالفن جي زيادتين جو نشانو بڻجي رهيا هئا ۽ آخرڪار پنهنجو وطن ڇڏي حبش هليا ويا. هِي واقعو مديني ڏانهن هجرت کان پهرين مڪي دور ۾ پيش آيو.

حق جي معاملي ۾ هميشہ ٻہ گروهہ هوندا آهن. هڪ اُهو جيڪو حق کي ايتري اهميت نہ ڏي جو ان جي خاطر مليل شين کي ڇڏي يا پنهنجي زندگي کي بدلائي. ٻيا اُهي ماڻهو جيڪي حق کي اهڙي طرح اختيار ڪندا آهن جو اهوئي انهن وٽ سڀني کان اهم شيءِ بڻجي ويندو آهي. هو ان جي ڪري هر تڪليف کي سهڻ جي لاءِ تيار رهندا آهن. هو حق کي پنهنجو اهم مسئلو بڻائي وٺندا آهن. هو هر ٻي شيءِ کي ڇڏي سگهندا آهن پر حق کي نہ ٿا ڇڏي سگهن.

ظاهر آهي تہ ٻنهي قسم جي گروهن جو انجام هڪ جهڙو نہ ٿو ٿي سگهي. جن ماڻهن حق کي پنهنجي زندگي ۾ اهم مقام ڏنو، اُهي خدا جي ابدي نعمتن جا مستحق ٿيندا ۽ جن ماڻهن حق کي نظرانداز ڪيو، انهن کي خدا بہ نظرانداز ڪري ڇڏيندو. اُهي خدا وٽ ڪو عزت جو مقام نہ ٿا پائي سگهن ۽ نہ هو خدا جي نعمتن ۾ حصيدار ٿي سگهن ٿا.

وَ مَاۤ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ اِلَّا رِجَالًا نُّوْحِيْۤ اِلَيْهِمْ فَسْـَٔلُوْۤا اَهْلَ الذِّكْرِ اِنْ كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٤٣﴾ بِالْبَيِّنٰتِ وَ الزُّبُرِ ؕ وَ اَنْزَلْنَاۤ اِلَيْكَ الذِّكْرَ لِتُبَيِّنَ لِلنَّاسِ مَا نُزِّلَ اِلَيْهِمْ وَ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٤٤﴾

۽ اسان تو کان اڳ ۾ بہ ماڻهن کي ئي رسول بڻائي موڪليو جن ڏانهن اسان وحي ڪندا هئاسون، پوءِ علم وارن
کان پڇي وٺو جيڪڏهن توهان نٿا ڄاڻو. اسان انهن کي موڪليو هو دليلن ۽ ڪتابن سان گڏ. ۽ اسان تو تي بہ
(قرآن) نازل ڪيو تہ جيئن تون ماڻهن تي ان شيءِ کي واضح ڪري ڇڏين جيڪا انهن ڏانهن نازل ڪئي وئي آهي
تہ جيئن اُهي غور ڪن. ٤٣-٤٤

---

"علم وارن" مان مراد هِتي ڪتاب وارا آهن. يا اُهي ماڻهو جيڪي پوئين امتن ۽ پوئين پيغمبرن جي تاريخي حالتن جو علم رکندا آهن. جيڪا شيءِ انهن کان پڇڻ جي لاءِ چئي وئي آهي سا هِي نہ آهي تہ حق ڇا آهي ۽ ناحق ڇا، بلڪ اِها آهي تہ گذريل زمانن ۾ جيڪي پيغمبر آيا اُهي انسان هئا يا غير انسان. مڪي وارا رسولﷺ جي انسان هئڻ کي ان ڳالھ جو دليل بڻائيندا هئا تہ پاڻﷺ خدا جا پيغمبر نہ آهن. انهن کي چيو ويو تہ جن قومن ۾ اُن کان اڳ ۾ پيغمبر ايندا رهيا آهن، (مثلاً يهودي) انهن کان پڇي معلوم ڪري وٺو تہ انهن وٽ جيڪي پيغمبر آيا اهي انسان هئا يا فرشتا.

پيغمبر رڳو "ياد ڏيارڻ" جي لاءِ ايندو آهي، اِهو ياد ڏيارڻ اصل ۾ دليلن جي ذريعي هوندو آهي، پر اِهو بہ ضروري آهي تہ پيغمبر پنهنجي پاڻ کي ان معاملي ۾ پوري طرح سنجيده ثابت ڪري. جيڪڏهن هڪ شخص ماڻهن کي جنت ۽ جهنم کان باخبر ڪري ۽ ان سان گڏ اهڙن ڪمن ۾ مشغول هجي جيڪي جنت ۽ جهنم جي معاملي ۾ ان کي غير سنجيده ثابت ڪندا هجن تہ ان جو دعوتي ڪم ماڻهن جي نظر ۾ مذاق بڻجي ويندو.

دعوت چاهي ڪيتري ئي اعليٰ درجي تي ۽ ڪيتري ئي ڪامل انداز ۾ پيش ڪئي وڃي، ان مان اُهي ئي ماڻهو فائدو وٺندا آهن جيڪي خود بہ ان تي ڌيان ڏين. جيڪي ماڻهو ڌيان نہ ڏين اُهي ڪنهن بہ حالت ۾ حق جي دعوت مان فيضياب نہ ٿا ٿي سگهن.

اَفَاَمِنَ الَّذِيْنَ مَكَرُوا السَّيِّاٰتِ اَنْ يَّخْسِفَ اللّٰهُ بِهِمُ الْاَرْضَ اَوْ يَاْتِيَهُمُ الْعَذَابُ مِنْ حَيْثُ لَا يَشْعُرُوْنَ ۝٤٥ اَوْ يَاْخُذَهُمْ فِيْ تَقَلُّبِهِمْ فَمَا هُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ۝٤٦ اَوْ يَاْخُذَهُمْ عَلٰى تَخَوُّفٍ ۭ فَاِنَّ رَبَّكُمْ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ۝٤٧

ڇا اُهي ماڻهو جيڪي بريون تدبيرون ڪري رهيا آهن سي اُن ڳالھ کان بي فڪر آهن تہ الله انهن کي زمين ۾
ڳهائي ڇڏي يا انهن تي عذاب اُتان اچي وڃي جتان انهن کي گمان بہ نہ هو يا انهن کي گهمندي ڦرندي پڪڙي
وٺي تہ اُهي ماڻهو الله کي عاجز نہ ٿا ڪري سگهن يا ڪين ڊپ جي حالت ۾ پڪڙي وٺي. بيشڪ تنهنجو رب
شفيق ۽ مهربان آهي. ٤٥-٤٧

---

هِي آيت مڪّي دور جي آخري زماني جي آهي. جڏهن تہ مڪي جا مخالف رسولﷺ کي قتل ڪرڻ جون سازشون ڪري رهيا هئا. پيغمبر خدا جي زمين تي خدا جو نمائندو هوندو آهي، ان ڪري پيغمبر جي خلاف اهڙي قسم جي سازش ڪرڻ اهڙن ئي ماڻهن جو ڪم ٿي سگهي ٿو جيڪي خدا جي پڪڙ کان بلڪل بي خوف ٿي چڪا هجن.

جڏهن خدا انسان تي ايترو گهڻو قابو رکي ٿو جو هو چاهي تہ انسان کي زمين ۾ دبائي ڇڏي يا

جنهن جاءِ کي ماڻهو پنهنجي لاءِ محفوظ سمجهي ٿو، اتان ئي ان جي لاءِ هڪ عذاب اچي وڃي يا خدا ائين ڪري جو ماڻهن کي هلندي ڦرندي پڪڙي وٺي. پوءِ هو خود کي ان کان بچائي نہ سگهن. خدا ائين بہ ڪري سگهي ٿو تہ هو اهڙي طرح انهن کي پڪڙي جو هو خطري کي محسوس ڪري رهيا هجن ۽ ان جي لاءِ پوري طرح تيار هجن.

غرض خدا هر حالت ۾ انسان کي پڪڙي سگهي ٿو. جيڪڏهن هو ماڻهن کي شرارتون ڪندي ڏسندو آهي ۽ ان جي باوجود هو انهن کي نہ ٿو پڪڙي تہ ماڻهوءَ کي بي خوف نہ ٿيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ اِهو سندس امتحان جي مصلحت آهي، نہ وري اُن جو عجز.

اَوَ لَمۡ يَرَوۡا اِلٰى مَا خَلَقَ اللّٰهُ مِنۡ شَىۡءٍ يَّتَفَيَّؤُا ظِلٰلُهٗ عَنِ الۡيَمِيۡنِ وَ الشَّمَآئِلِ سُجَّدًا
لِّلّٰهِ وَ هُمۡ دٰخِرُوۡنَ ﴿٤٨﴾ وَ لِلّٰهِ يَسۡجُدُ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِى الۡاَرۡضِ مِنۡ دَآبَّةٍ وَّ الۡمَلٰٓئِكَةُ
وَ هُمۡ لَا يَسۡتَكۡبِرُوۡنَ ﴿٤٩﴾ يَخَافُوۡنَ رَبَّهُمۡ مِّنۡ فَوۡقِهِمۡ وَ يَفۡعَلُوۡنَ مَا يُؤۡمَرُوۡنَ ﴿٥٠﴾ السجدة ع ٦ السجدة ٣ ١٢

ڇا نہ ٿا ڏسن تہ الله جيڪي شيون پيدا ڪيون آهن سندن پاڇا ساڄي ۽ کاٻي ڏانهن جهڪي الله کي سجدو ڪندا آهن ۽ اهي سڀ عاجز آهن. ۽ الله کي ئي سجدو ڪنديون آهن جيتريون شيون آسمانن ۽ زمين ۾ هلڻ واريون آهن ۽ فرشتا بہ ۽ اهي تڪبر نہ ٿا ڪن. ۽ اهي پنهنجي رب کان ڊڄن ٿا جيڪو سندن مٿان آهي ۽ اهوئي ڪندا آهن جنهن جو کين حڪم ملندو آهي. ٤٨-٥٠

---

انسان هڪ اهڙي دنيا ۾ سرڪشي ڪندو آهي، جنهن ۾ چئني پاسن کان ان کي تابعداري جو سبق ڏنو پيو وڃي. مثال طور مادي شين جا پاڇا. هڪ شيءِ جيڪا بيٺل هجي، ان جو پاڇو زمين تي پوندو آهي. اهڙي طرح اُها سجدي جو مثال پيش ڪري رهي آهي. اُهو مثال جي انداز ۾ ٻڌائيندو آهي تہ انسان کي ڪهڙي طرح پنهنجي خالق جي اڳيان جهڪي وڃڻ گهرجي.

ملائڪ جيتوڻيڪ انسان کي نظر نہ ٿا اچن، پر عظيم ڪائنات جو ايتري قدر منظم ٿي هلڻ ثابت ڪندو آهي تہ ان کي هلائڻ جي لاءِ خدا پنهنجا جيڪي ڪارندا مقرر ڪيا آهن، اُهي انتهائي طاقتور آهن. ملائڪ غير معمولي طاقتور هئڻ جي باوجود خدا جا تابعدار آهن. جيڪڏهن هو تابعدار نہ هجن تہ ڪائنات جو نظام ايتري منظم طريقي سان مسلسل هلندي نظر نہ اچي ها.

اهڙي حالت ۾ انسان جي لاءِ صحيح رويو ان کانسواءِ ٻيو ڪجھ نہ ٿو ٿي سگهي جو هو پنهنجي پاڻ کي خدا جي اطاعت ۾ ڏئي ڇڏي ۽ هو مڪمل طور تي ان جو فرمانبردار بڻجي وڃي.

وَ قَالَ اللّٰهُ لَا تَتَّخِذُوۡۤا اِلٰهَيۡنِ اثۡنَيۡنِ ۚ اِنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَاِيَّاىَ فَارۡهَبُوۡنِ ﴿٥١﴾ وَ لَهٗ مَا
فِى السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ وَ لَهُ الدِّيۡنُ وَاصِبًا ؕ اَفَغَيۡرَ اللّٰهِ تَتَّقُوۡنَ ﴿٥٢﴾

۽ الله فرمايو آهي تہ ٻہ معبود نہ بڻايو. اُهو هڪ ئي معبود آهي، پوءِ مون کان ئي ڊڄو ۽ سندس ئي آهي جيڪو ڪجھ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي ۽ هميشہ ان جي ئي اطاعت آهي. پوءِ ڇا توهان الله کانسواءِ ٻين کان ڊڄو ٿا. ٥١-٥٢

---

پيغمبرن جي ذريعي خدا انسان کي ان کان ڊيڄاريو تہ مون هڪ معبود ڪانسواءِ پنهنجي لاءِ ٻيا معبود نہ بڻايو. هن ڪائنات جو معبود صرف هڪ آهي. ان ڪان ئي ماڻهو کي ڊڄڻ گهرجي. ماڻهوءَ کي رڳو ان جي ئي تابعداري ڪرڻ گهرجي.

جيڪڏهن ماڻهوءَ کي اِها ڳالهہ صحيح سمجهہ ۾ اچي وڃي تہ خدا ئي انسان جو ۽ هر موجود شيءِ جو خالق ۽ مالڪ آهي ان تي ئي سندس زندگي جو سڄو دارومدار آهي تہ اُن سمجهہ جي ڪري جيڪا ڪيفيت ماڻهو جي اندر پيدا ٿيندي آهي، ان جو نالو ئي تقويٰ آهي.

زمين ۽ آسمان ۾ خدا جي ئي دائمي اطاعت آهي. هتي هر شيءِ مڪمل طور تي خدا جي قانون ۾ جڪڙيل آهي. هڪ اهڙي دنيا ۾ ڪنهن ٻئي جي عبادت ڪرڻ يا ڪنهن ٻئي مان اميد قائم ڪرڻ بلڪل بي بنياد آهي. موجوده ڪائنات اهڙي شرڪ کي قبول ڪرڻ کان سراسر انڪار ڪري ٿي.

وَ مَا بِكُمۡ مِّنۡ نِّعۡمَةٍ فَمِنَ اللّٰهِ ثُمَّ اِذَا مَسَّكُمُ الضُّرُّ فَاِلَيۡهِ تَجۡـَٔرُوۡنَ﴿۵۳﴾ ثُمَّ اِذَا كَشَفَ الضُّرَّ عَنۡكُمۡ اِذَا فَرِيۡقٌ مِّنۡكُمۡ بِرَبِّهِمۡ يُشۡرِكُوۡنَ﴿۵۴﴾ لِيَكۡفُرُوۡا بِمَاۤ اٰتَيۡنٰهُمۡ ؕ فَتَمَتَّعُوۡا ۟ فَسَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ﴿۵۵﴾ وَ يَجۡعَلُوۡنَ لِمَا لَا يَعۡلَمُوۡنَ نَصِيۡبًا مِّمَّا رَزَقۡنٰهُمۡ ؕ تَاللّٰهِ لَتُسۡـَٔلُنَّ عَمَّا كُنۡتُمۡ تَفۡتَرُوۡنَ﴿۵۶﴾

۽ توهان وٽ جيڪا بہ نعمت آهي اُها الله جي طرفان ئي آهي. پوءِ جڏهن توهان کي تڪليف پهچي ٿي تہ ان کان فرياد ڪندا آهيو. پوءِ جڏهن هو توهان کان تڪليف کي پري ڪري ڇڏي ٿو تہ توهان مان هڪ گروهہ پنهنجي رب سان شريڪ مقرر ڪرڻ لڳندو آهي، جيئن منڪر ٿي وڃن ان شيءِ کان جيڪا اسان کين ڏني آهي. پوءِ ڪجهہ ڏينهن فائدو ڪٽي وٺو. جلد ئي توهان ڄاڻي وٺندؤ ۽ اهي ماڻهو اسان جي ڏنل شين مان انهن جو حصو مقرر ڪندا آهن جن بابت انهن کي ڪو علم نہ آهي. الله جو قسم تہ جيڪي ٺاهہ ٺاهيندا آهيو تنهن بابت توهان کان ضرور پڇاڻو ٿيندو. ٥٣-٥٦

---

پوري تاريخ جو تجربو ٻڌائي ٿو تہ ماڻهو جڏهن ڪنهن اهڙي مصيبت ۾ پئجي ويندو آهي جنتي هو پاڻ کي عاجز محسوس ڪرڻ لڳي تہ ان وقت هو خدا کي ياد ڪرڻ لڳندو آهي. منڪر ۽ مشرڪ ٻئي ائين ئي ڪندا آهن. تجربي مان معلوم ٿيو تہ خدا جو تصور انساني فطرت ۾ رچيل آهي. جڏهن ٻيا سڀئي آسرا ختم ٿي ويندا آهن تہ آخري شيءِ جيڪا باقي رهي ٿي، اُهو صرف خدا آهي.

پر اِها انسان جي عجيب غفلت آهي تہ جڏهن هو مصيبت مان نجات حاصل ڪري ٿو تہ وري پنهنجن فرضي خدائن جي ياد ۾ مشغول ٿي ويندو آهي. هو مليل نعمت کي خدا جي بجاءِ ٻين شين ڏانهن منسوب ڪري ڇڏيندو آهي. ان کي اُهو عظيم سبق ياد نہ ٿو رهي جيڪو خود ان جي فطرت ڪجهہ وقت پهرين ان کي ڏنو هو.

شيطان فرضي معبودن جي عبادت جي عقيدي کي پختو ڪرڻ لاءِ طرح طرح جون ڪوڙيون رسمون عوام ۾ رائج ڪري ڇڏيون آهن. انهن مان هڪ پنهنجي آمدني ۾ فرضي معبودن جو حصو ڪڍڻ آهي. اهڙي قسم جون رسمون خدا جي دنيا ۾ هڪ بهتان جي حيثيت رکن ٿيون. ڇاڪاڻ تہ اِهو

خدا طرفان مليل شيءِ لاءِ خدا ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي جو شڪر ادا ڪرڻ جي هم معنيٰ آهي.

وَ يَجۡعَلُوۡنَ لِلّٰهِ الۡبَنٰتِ سُبۡحٰنَهٗ ۙ وَ لَهُمۡ مَّا يَشۡتَهُوۡنَ ﴿۵۷﴾ وَ اِذَا بُشِّرَ اَحَدُهُمۡ بِالۡاُنۡثٰى ظَلَّ
وَجۡهُهٗ مُسۡوَدًّا وَّ هُوَ كَظِيۡمٌ ﴿ۚ۵۸﴾ يَتَوَارٰى مِنَ الۡقَوۡمِ مِنۡ سُوۡٓءِ مَا بُشِّرَ بِهٖ ؕ اَيُمۡسِكُهٗ عَلٰى
هُوۡنٍ اَمۡ يَدُسُّهٗ فِى التُّرَابِ ؕ اَلَا سَآءَ مَا يَحۡكُمُوۡنَ ﴿۵۹﴾ لِلَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِالۡاٰخِرَةِ مَثَلُ
ع ١٣ السَّوۡءِ ۚ وَلِلّٰهِ الۡمَثَلُ الۡاَعۡلٰى ؕ وَ هُوَ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ ﴿۶۰﴾

۽ هو الله جي لاءِ ڌيئرون مقرر ڪن ٿا. هو ان ڪان پاڪ آهي. ۽ اُهي پاڻ لاءِ جيڪي وڻندو اٿن ۽ جڏهن انهن مان ڪنهن کي ڌيءَ جي خوشخبري ڏني وڃي ٿي ته سندس منهن ڪارو ٿي ويندو آهي ۽ هو اندر ۾ ڪڙهندو آهي، جنهن شيءِ جي اُن کي خوشخبري ڏني وئي آهي اُن جي عار ڪان ماڻهن ڪان پيو لڪندو آهي ته ان کي ذلت سان رکي ونئي يا ان کي مٽي ۾ پُوري ڇڏي. ڪهڙو نه برو فيصلو آهي جيڪو هو ڪن ٿا. جيڪي آخرت تي ايمان نه ٿا رکن تن جو مثال برو آهي ۽ الله جو مثال مٿانهون آهي. ۽ هو غالب ۽ حڪيم آهي. ٥٧-٦٠

---

هڪ خدا ڪان سواءِ انسان جيڪي ٻيا معبود بڻايا آهن، انهن ۾ ديوتا به آهن ۽ ديويون به. هِتي ديوين جي عقيدي کي بي بنياد ثابت ڪرڻ لاءِ هڪ عام مثال ڏنو ويو آهي. جيئن ته مرد جي مقابلي ۾ عورت ڪمزور هوندي آهي، ان ڪان علاوه عام حالتن ۾ هو سرمائي ڪان وڌيڪ هڪ ذميداري هوندي آهي. ان ڪري عام طور تي ماڻهو پٽ جي پيدائش تي وڌيڪ خوش ٿيندا آهن ۽ ڌيءَ جي پيدائش تي گهٽ. هاڻي جڏهن ته پٽ ۽ ڌي ۾ اِهو فرق آهي ته خدا جيڪڏهن پنهنجي لاءِ اولاد پيدا ڪري ها ته هو ڌيئرون ڇو پيدا ڪري ها.

انسان ڇا جي لاءِ اولاد چاهي ٿو. اُن ڪري ته هو ان جي ذريعي پنهنجي ڪمي کي پورو ڪري سگهي. پر خدا اهڙي قسم جي ڪمزوري ڪان بلند آهي. خدا جي عظمت ۽ قدرت سندس ڪائنات ۾ ظاهر ٿي رهي آهي، اها ٻڌائي ٿي ته خدا ان ڪان بلند ۽ برتر آهي جو ان جي اندر اهڙي ڪا ڪمزوري هجي، جنهن جي تلافي جي لاءِ هو پاڻ وٽ پٽ ۽ ڌيءَ پيدا ڪري. حقيقت اِها آهي ته خدا جيڪڏهن ڪمزوريءَ وارو هجي ها ته هو خدا ئي نه هجي ها. خدا ان ڪري ئي خدا آهي جو هو هر قسم جي ڪمين ۽ ڪمزورين ڪان پاڪ آهي.

وَ لَوۡ يُؤَاخِذُ اللّٰهُ النَّاسَ بِظُلۡمِهِمۡ مَّا تَرَكَ عَلَيۡهَا مِنۡ دَآبَّةٍ وَّ لٰـكِنۡ يُّؤَخِّرُهُمۡ اِلٰٓى اَجَلٍ
مُّسَمًّى ۚ فَاِذَا جَآءَ اَجَلُهُمۡ لَا يَسۡتَاۡخِرُوۡنَ سَاعَةً وَّ لَا يَسۡتَقۡدِمُوۡنَ ﴿۶۱﴾

۽ جيڪڏهن الله ماڻهن کي سندن ظلم تي پڪڙي ها ته زمين تي ڪنهن جاندار کي نه ڇڏي ها. پر هو هڪ مقرر وقت تائين ماڻهن کي مهلت ڏيندو آهي. پوءِ جڏهن سندن مقرر وقت اچي ويندو ته اُهي نه هڪ گهڙي پوئتي هٽي سگهندا ۽ نه اڳيان وڌي سگهندا. ٦١

---

ظلم تي گرفت جي هڪ شڪل اِها آهي ته جيئن ئي ڪو ماڻهو ظلم ڪري ته فورًا ڪيس پڪڙي سخت سزا ڏني وڃي. پر خدا جو اِهو طريقو نه آهي. جيڪڏهن خدا ائين ڪري ته زمين تي ڪو هلڻ وارو

باقي نہ رهي. خدا هر ماڻهو ۽ هر قوم کي هڪ مقرر مهلت ڏني آهي. ان مدت تائين هو هر هڪ کي موقعو ڏيندو آهي تہ هو پنهنجي ضمير جي آواز سان يا ٻاهرين تنبيهہ سان هوشيار ٿئي ۽ پنهنجي اصلاح ڪري وٺي. اصلاح ڪندي ئي ماڻهن جا پويان سيئي جرم معاف ڪيا ويندا آهن. اُهي اهڙا ٿي ويندا آهن ڄڻ تہ انهن هينئر زندگي شروع ڪئي هجي.

مهلت جي دوران نہ پڪڙڻ خدا پاڻ تي لازم ڪيو آهي، اهڙي طرح ان هي بہ پاڻ تي لازم ڪيو آهي تہ مهلت ختم ٿيڻ کان پوءِ هو ماڻهن کي ضرور پڪڙي. مهلت ختم ٿيڻ کانپوءِ ڪنهن کي وڌيڪ موقعو نہ ڏنو ويندو آهي نہ فرد کي ۽ نہ قوم کي.

وَ يَجۡعَلُوۡنَ لِلّٰهِ مَا يَكۡرَهُوۡنَ وَ تَصِفُ اَلۡسِنَتُهُمُ الۡكَذِبَ اَنَّ لَهُمُ الۡحُسۡنٰى ؕ لَا جَرَمَ اَنَّ لَهُمُ النَّارَ وَ اَنَّهُمۡ مُّفۡرَطُوۡنَ ﴿٦٢﴾

۽ اُهي الله لاءِ اُها شيءِ مقرر ڪندا آهن جنهن کي پنهنجي لاءِ ناپسند ڪندا آهن ۽ سندن زبانون ڪوڙ بيان ڪنديون آهن تہ سندن لاءِ ڀلائي آهي. بيشڪ انهن لاءِ دوزخ آهي ۽ اُهي ضرور اُن ۾ پهچايا ويندا. ٦٢

---

انساني گمراهين جو هڪ وڏو سبب خدا جي خدائي جو ڪمتر اندازو ڪرڻ آهي. اڪثر غلط عقيدا ان ڪري ئي ٺهيا جو خدا کي ان کان گهٽ سمجهيو ويو، جهڙو هو حقيقت ۾ آهي. ايستائين جو ماڻهن جو حال اِهو آهي تہ جيڪي شيون ڪمتر سمجهي هو پنهنجي لاءِ پسند نہ ٿا ڪن، (مثال طور ڌيئرون يا پنهنجي ملڪيت ۾ ڪنهن اجنبيءَ جي شرڪت)، انهن کي بہ هو خدا لاءِ ثابت ڪرڻ لڳندا آهن.

خدا جي اهڙي ڪمتر اندازي جو نتيجو اهو ٿو نڪري جو ماڻهو خدا تي عقيدو رکندي بہ خدا کان بي خوف رهندا آهن. هو نهايت معمولي شين جي باري ۾ اِهو عقيدو ٺاهي وٺندا آهن تہ اُهي انهن کي خدا جو قرب ڏياريندڙيون ۽ آخرت جون سيئي نعمتون سندن حصي ۾ لکيون ويندون. جيڪا شيءِ هڪ عام انسان کي بہ خوش نہ ڪري سگهي، ان جي متعلق هي عقيدو ٺاهي وٺبو آهي تہ اُها خدا کي خوش ڪري ڇڏيندي. اهڙي قسم جي ڪابہ حرڪت غلطي تي سرڪشي جو اضافو آهي، جنهن کي خدا ڪڏهن معاف نہ ٿو ڪري سگهي.

تَاللّٰهِ لَقَدۡ اَرۡسَلۡنَاۤ اِلٰۤى اُمَمٍ مِّنۡ قَبۡلِكَ فَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيۡطٰنُ اَعۡمَالَهُمۡ فَهُوَ وَلِيُّهُمُ الۡيَوۡمَ وَ لَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿٦٣﴾ وَ مَاۤ اَنۡزَلۡنَا عَلَيۡكَ الۡكِتٰبَ اِلَّا لِتُبَيِّنَ لَهُمُ الَّذِى اخۡتَلَفُوۡا فِيۡهِ ۙ وَ هُدًى وَّ رَحۡمَةً لِّقَوۡمٍ يُّؤۡمِنُوۡنَ ﴿٦٤﴾

الله جو قسم اسان توکان اڳ مختلف قومن ڏانهن رسول موڪليا. پوءِ شيطان سندن ڪم انهن کي سٺا ڪري ڏيکاريا. پوءِ اڄ اُهوئي سندن ساٿي آهي ۽ انهن جي لاءِ هڪ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. ۽ اسان توتي ڪتاب صرف ان ڪري نازل ڪيو آهي تہ تون انهن کي اُها شيءِ کولي بيان ڪرين، جنهن ۾ هو اختلاف ڪري رهيا آهن ۽ اها هدايت ۽ رحمت آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ايمان آڻين. ٦٣-٦٤

---

رسول جي دعوت جڏهن شروع ٿيندي آهي ته پڏڻ وارا محسوس ڪندا آهن ته اِها سندن رواجي مذهب سان ٽڪرائي رهي آهي. جيئن ته اُهي ان رواجي مذهب سان مانوس هوندا آهن ۽ ان سان سندن گهڻا ئي مفاد وابسته ٿي چڪا هوندا آهن، ان ڪري هو چاهيندا آهن ته ان سان چنبڙيل رهن. ان وقت شيطان انهن کي اهڙيون خوبصورت ڳالهيون سُجهائيندو آهي جن سان هو پيغمبر جي دين کي ڇڏڻ ۽ رواجي دين تي قائم رهڻ کي صحيح ثابت ڪري سگهن.

ماڻهو جيڪڏهن رسول جي ڳالهه کي سڌي طرح مڃي وٺي ته اِهو خدا کي پنهنجو ساٿي بنائڻ آهي. ان جي ابتڙ جيڪڏهن هو خوبصورت تاويلن جو سهارو وٺي ته اِهو شيطان کي پنهنجو ساٿي بنائڻ هوندو.

پيغمبر آخرالزمان ﷺ کي موڪلي خدا اِهو انتظام ڪيو هو ته ماڻهو مذهبي اختلافن جي هوندي خدا جي سچي رستي کي معلوم ڪري سگهن. ساڳي صورتحال اڄ به باقي آهي. هڪ ماڻهو خدا جي رستي جي تلاش ۾ هجي ۽ هو مختلف مذهبن جو مطالعو ڪري ته هو يقيناً ذهني مونجهارن ۾ پئجي ويندو. ڇاڪاڻ ته مذهبن جون جيڪي تعليمات اڄ موجود آهن انهن ۾ سخت اختلاف آهن. تنهن ڪري حق کي تلاش ڪرڻ واري جي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته هو ڪنهن شيءِ کي صحيح سمجهي ۽ ڪنهن شيءِ کي غلط.

اهڙي حالت ۾ پيغمبر آخرالزمان ﷺ جو آندل دين خدا جي پاران انهن لاءِ رحمت آهي، ڇاڪاڻ ته ٻين دينن جي ابتڙ پاڻ ﷺ جو دين هڪ محفوظ دين آهي. اِهو تاريخي لحاظ کان پوري طرح ثابت ٿيل آهي. ان ڪري پورو اعتماد ڪري سگهجي ٿو ته پاڻ ﷺ جيڪو دين ڇڏي ويا، اِهوئي اُهو حقيقي دين آهي جيڪو خدا کي پنهنجن ٻانهن کان مطلوب آهي.

وَ اللّٰهُ اَنۡزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَحۡیَا بِهِ الۡاَرۡضَ بَعۡدَ مَوۡتِهَا ؕ اِنَّ فِیۡ ذٰلِكَ لَاٰیَةً لِّقَوۡمٍ یَّسۡمَعُوۡنَ ﴿٦٥﴾ ع ١٤

۽ الله آسمان مان پاڻي وسايو. پوءِ ان سان زمين کي ان جي مئل هجڻ کانپوءِ جيئرو ڪري ڇڏيو. بيشڪ ان ۾ نشاني آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ٻڌندا آهن. ٦٥

---

مينهن ۽ وڻن ٽڻن جو نظام پنهنجي اندر تمام وڏو سبق رکي ٿو. مختلف سببن سان پاڻيءَ جا ڦڙا فضا ۾ مٿي وڃي ٻيهر زمين تي مينهن جي صورت ۾ وسندا آهن. پوءِ اِهو مينهن حيرت انگيز طور تي زمين تي سرسبز پوک پيدا ٿيڻ جو سبب بڻجندو آهي.

هن واقعي ۾ هڪ طرف اِهو سبق آهي ته هِن ڪائنات ۾ چئني پاسي هڪ خدا جي حڪمراني آهي. جيڪڏهن هِتي ڪيترن ئي خدائن جي حڪمراني هجي ها ته ڪائنات جون مختلف طاقتون اهڙي طرح گڏيل عمل نه ڪري سگهن ها. ڪائنات جي نظام جي وحدانيت واضح طور تي اُن جو ثبوت آهي ته ان جو خالق ۽ مالڪ صرف هڪ آهي، نه وري هڪ کان وڌيڪ.

ٻيو سبق هِي آهي ته خدا جي قدرت ايتري عظيم آهي جو هو مرده جسم ۾ زندگي پيدا ڪري سگهي ٿي. اُها سڪل شيءِ کي سرسبز، رنگ ۽ خوشبو جو باغ ٺاهي سگهي ٿي. پهرين واقعي ۾ توحيد جو ثبوت آهي ۽ ٻيو واقعو مثال جي روپ ۾ ٻڌائي رهيو آهي ته اهڙي طرح انساني روحن جي لاءِ به هڪ

خدائي بارش آهي ۽ اها وحي آهي. جيڪو ماڻهو پنهنجي مرده ۽ سڪل روح کي نئين زندگي ڏيڻ چاهي، ان کي پنهنجي پاڻ کي خدا جي وحي جي مينهن ۾ وهنجارڻ گهرجي.

وَ اِنَّ لَكُمۡ فِى الۡاَنۡعَامِ لَعِبۡرَةً ؕ نُسۡقِيۡكُمۡ مِّمَّا فِىۡ بُطُوۡنِهٖ مِنۡۢ بَيۡنِ فَرۡثٍ وَّ دَمٍ لَّبَنًا خَالِصًا سَآئِغًا لِّلشّٰرِبِيۡنَ ﴿٦٦﴾ وَ مِنۡ ثَمَرٰتِ النَّخِيۡلِ وَ الۡاَعۡنَابِ تَتَّخِذُوۡنَ مِنۡهُ سَكَرًا وَّ رِزۡقًا حَسَنًا ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوۡمٍ يَّعۡقِلُوۡنَ ﴿٦٧﴾

۽ بيشڪ توهان لاءِ چوپائي مال ۾ سبق آهي. اسان انهن جي پيٽن جي اندر ڇيڻي ۽ رت جي وچ مان توهان کي خالص کير پيئاريندا آهيون، خوشگوار پيئڻ وارن لاءِ. ۽ کجين ۽ انگور جي ميون مان به. توهان انهن مان نشي جون شيون به ٺاهيندا آهيو ۽ کائڻ جون سٺيون شيون به. بيشڪ ان ۾ نشاني آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي عقل رکندا آهن. ٦٦-٦٧

---

کير ڏيڻ وارن جانورن ۾ اِها عجيب خاصيت آهي ته اُهي جيڪو ڪجهه کائيندا آهن، اُهو هڪ پاسي سندن اندر ڇيڻا ۽ رت ٺاهيندو آهي، ٻئي طرف انهيءَ جي وچ مان کير جهڙي قيمتي شيءِ به نڪرندي آهي جيڪا انسان لاءِ بيحد قيمتي غذا آهي. اِهوئي حال وڻن جو آهي. انهن جي اندر مٽي ۽ پاڻي جهڙيون شيون داخل ٿينديون آهن ۽ پوءِ سندن اندروني نظام جي تحت اُهي رس وارن ميون جي صورت ۾ ٽارين ۾ ظاهر ٿيندا آهن.

اهي واقعا ان ڪري آهن جو اُهي ماڻهن کي خدا جي ياد ڏيارين. ماڻهو ان ۾ خدا جي قدرت جون جهلڪيون ڏسڻ لڳي، ايستائين جو ان جو اِهو احساس ايترو وڌي جو هو چئي ڏي ته خدايا تون ڇيڻي ۽ رت جي وچ مان کير جهڙي شيءِ ڪيندو آهين. منهنجن ناموافق حالتن مان موافق نتيجا ظاهر ڪري ڇڏ. تون مٽي ۽ پاڻي کي ميون ۾ تبديل ڪري ٿو ڇڏين، منهنجي بي قيمت زندگي کي به قيمتي زندگي بڻائي ڇڏ.

"توهان ان مان نشي جون شيون به ٺاهيندا آهيو ۽ سٺو رزق به". هِن ۾ ان حقيقت ڏانهن اشارو آهي ته دنيا ۾ خدا جيڪي شيون پيدا ڪيون آهن، انهن جو صحيح استعمال به آهي ۽ سندن غلط استعمال به آهي. کجين ۽ انگور کي انهن جي قدرتي صورت ۾ کائجي ته اُها صحت بخش غذا آهي، جنهن مان جسم ۽ عقل کي توانائي حاصل ٿيندي آهي. ان جي ابتڙ جيڪڏهن انساني عمل سان ان کي نشي ۾ تبديل ڪيو وڃي ته اُهو جسم کي به نقصان پهچائي ٿو عقل کي به.

وَ اَوۡحٰى رَبُّكَ اِلَى النَّحۡلِ اَنِ اتَّخِذِىۡ مِنَ الۡجِبَالِ بُيُوۡتًا وَّ مِنَ الشَّجَرِ وَ مِمَّا يَعۡرِشُوۡنَ ﴿٦٨﴾ ثُمَّ كُلِىۡ مِنۡ كُلِّ الثَّمَرٰتِ فَاسۡلُكِىۡ سُبُلَ رَبِّكِ ذُلُلًا ؕ يَخۡرُجُ مِنۡۢ بُطُوۡنِهَا شَرَابٌ مُّخۡتَلِفٌ اَلۡوَانُهٗ فِيۡهِ شِفَآءٌ لِّلنَّاسِ ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوۡمٍ يَّتَفَكَّرُوۡنَ ﴿٦٩﴾

۽ تنهنجي رب ماکيءَ جي مک ڏانهن وحي ڪيو ته جبلن ۽ وڻن ۽ جن شين مان ماڻهو گهرن جون ڇتون جوڙيندا آهن تن ۾ گهر ٺاهه. پوءِ هر قسم جي ميون جو رس چوس ۽ پنهنجي رب جي هموار رستن تي هل. ان جي پيٽ

مان پيئڻ جي شيءِ نڪرندي آهي، ان جا مختلف رنگ آهن، ان ۾ ماڻهن جي لاءِ شفا آهي، بيشڪ اُن ۾ نشاني آهي انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي غور ڪندا آهن. ٦٨-٦٩

ماکيءَ جي مک خدا جي قدرت جو هڪ حيرت انگيز شاهڪار آهي. اِها رياضي واري قانون جي پابندي ڪندي انتهائي معياري قسم جو منارو ٺاهيندي آهي. پوءِ خاص منصوبي سان گلن جو رس چوسي آڻيندي آهي. ان کي هڪ ڪامل ترين نظام جي تحت منارن ۾ ذخيرو ڪندي آهي، پوءِ بلڪل ٺيڪ صحت جي قانون مطابق ماکي جهڙي قيمتي شيءِ تيار ڪندي آهي جيڪا انسان جي لاءِ غذا به آهي ۽ علاج به. اِهو سڀ ڪجهه ايتري عجيب ۽ ايتري منظم انداز ۾ ٿيندو آهي جو ان تي ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا آهن، پوءِ به ان جو بيان مڪمل نه ٿيو آهي.

ماکيءَ جو هِي معجزاتي ڪارخانو سڀني انساني ڪارخانن کان وڌيڪ پيچيده ۽ وڌيڪ ڪامياب آهي. جيئن ته بظاهر اُهو اهڙين مکين جي ذريعي هلايو پيو وڃي جن ڪٿي به اُن فن جي تعليم حاصل نه ڪئي آهي. ايستائين جو انهن کي پنهنجي عمل جو ذاتي شعور به حاصل نه آهي. اُن مان ثابت ٿيندو آهي ته ڪو ڪرائڻ وارو آهي جيڪو پنهنجي لڪيل هدايت جي ذريعي مکين کان اِهو سڀ ڪجهه ڪرائي رهيو آهي. ماکيءَ جي مکين کي جيڪڏهن ڪو ڏسڻ وارو ڏسي ته هو سندن حيران ڪندڙ حد تائين بامعنيٰ سرگرمين ۾ خدا جي ڪارفرمائي جو زنده مشاهدو ڪرڻ لڳندو آهي.

ماکيءَ جي مک جو مثال ڏيڻ جو هڪ پهلو اهو به آهي ته جهڙي طرح ماکيءَ جي مک زبردست محنت جي ذريعي گلن جو رس چوسي ماکي ٺاهيندي آهي، جنهن ۾ ماڻهن جي لاءِ غذا ۽ شفا آهي. اهڙي طرح الله جي ٻانهن کي گهرجي ته هو ڪائنات ۾ غور ۽ فڪر جي ذريعي حڪمت جون شيون حاصل ڪن جيڪي سندن روح جي غذا به ٿين ۽ سندن اخلاقي بيمارين جو علاج به. جيڪا شيءِ ماکيءَ جي مک لاءِ ”رس“ آهي، اُها ئي انسان جي سطح تي پهچي ”معرفت“ بڻجي وڃي ٿي.

وَ اللّٰهُ خَلَقَكُمۡ ثُمَّ يَتَوَفّٰىكُمۡ ۛ وَ مِنۡكُمۡ مَّنۡ يُّرَدُّ اِلٰۤى اَرۡذَلِ الۡعُمُرِ لِكَىۡ لَا يَعۡلَمَ بَعۡدَ
ع عِلۡمٍ شَيۡـًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيۡمٌ قَدِيۡرٌ ۝٧٠
١٥

۽ الله توهان کي پيدا ڪيو، پوءِ اُهوئي توهان کي وفات ڏيندو آهي. ۽ توهان مان ڪجهه اُهي آهن جيڪي ناڪاره عمر تائين پهچايا ويندا آهن ته ڄاڻڻ کان پوءِ هو ڪجهه نه ڄاڻن. بيشڪ الله علم وارو آهي، قدرت وارو آهي. ٧٠

زندگيءَ جا ڪيترائي پهلو انسان جي سامهون دنيا ۾ ايندا آهن. هڪ ماڻهو نه هو، ان کان پوءِ هو دنيا ۾ موجود ٿي پيو، پوءِ هر هڪ کي مرڻو آهي. پر سڀني جو هڪ وقت نه آهي. ڪو ننڍپڻ ۾ مرندو آهي، ڪو جواني ۾ ۽ ڪو پيري ۾. پوءِ اِهو منظر به عجيب آهي ته عمر جي آخري حد تي پهچي عقل ۽ علم ۽ طاقت ماڻهو کان بلڪل رخصت ٿي ويندا آهن. انسان موجوده زمين ۾ بظاهر آزاد آهي، پر ان کي پنهنجي ڪنهن شيءِ تي ڪو اختيار نه آهي.

اهو سڀ ان ڪري ٿيندو آهي ته جيئن انسان کي ٻڌايو وڃي ته علم ۽ قدرت ٻئي صرف خدا جا آهن. انساني زندگي ۾ مٿي ذڪر ڪيل جيڪي واقعا پيش ايندا آهن، انهن ۾ انسان جو پنهنجو ڪو

دخل نہ آهي، هو انهن ۾ ڪا تبديلي ڪرڻ تي قادر نہ آهي. اُن مان ثابت ٿئي ٿو تہ جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو آهي، اُهو ڪنهن ٻئي ڪرڻ واري جي ذريعي ٿي رهيو آهي. نندپڻ ڪان موت تائين انسان جي زندگي اِها گواهي ڏيندي آهي تہ هِتي سڀ ڪجهہ علم بہ رڳو خدا لاءِ آهي ۽ سڀ قدرت بہ صرف خدا لاءِ. انسان جي مجبوري قادر مطلق خدا جي موجودگي جو ثبوت آهي.

وَ اللّٰهُ فَضَّلَ بَعۡضَكُمۡ عَلٰى بَعۡضٍ فِى الرِّزۡقِ ۚ فَمَا الَّذِيۡنَ فُضِّلُوۡا بِرَآدِّىۡ رِزۡقِهِمۡ عَلٰى مَا مَلَكَتۡ اَيۡمَانُهُمۡ فَهُمۡ فِيۡهِ سَوَآءٌ ؕ اَفَبِنِعۡمَةِ اللّٰهِ يَجۡحَدُوۡنَ ﴿٧١﴾

۽ الله توهان مان هڪڙن کي ٻين تي روزي ۾ وڌايو ويو آهي. پوءِ جن کي وڌايو ويو آهي سي پنهنجي روزي پنهنجن غلامن کي نٿا ڏين جو هو ان ۾ برابر ٿي وڃن. ڇا پوءِ هو الله جي نعمت جو انڪار ٿا ڪن. ٧١

هِتي هڪ سادي مثال جي ذريعي ان عقيدي کي غلط ثابت ڪيو ويو آهي تہ خدا جا ڪجهہ شريڪ آهن ۽ اُن پنهنجي اختيار مان هڪ حصو پنهنجن انهن شريڪن کي ڏئي ڇڏيو آهي. اُن جو مثال هي آهي تہ دنيا ۾ روزي جي تقسيم برابر نہ آهي. عام طور تي ڏسڻ ۾ ايندو آهي تہ ڪنهن وٽ تمام گهڻو هوندو آهي ۽ ڪنهن وٽ ايترو گهٽ هوندو آهي جو هو وڌيڪ واري وٽ نوڪر ۽ غلام ٿيڻ تي مجبور هوندو آهي. هاڻي ڪوبہ وڌيڪ مال وارو ائين نہ ٿو ڪري جو پنهنجي دولت پنهنجي نوڪرن ۾ اهڙي طرح ورهائي ڇڏي جو پنهنجو ۽ نوڪرن جو فرق مٽجي وڃي ۽ سڀئي برابر ٿي وڃن. پوءِ خدا جي باري ۾ اهو ميڻ ڪيئن صحيح ٿي سگهي ٿو تہ ان پنهنجا اختيار ٻين ۾ تقسيم ڪري ڇڏيا آهن.

ڪو ماڻهو پنهنجي وڏائي جو پاڻ انڪار نہ ڪندو آهي. پوءِ جيڪا ڳالهہ ڪو بہ انسان پسند نہ ٿو ڪري، حالانڪ ان وٽ ڪو ذاتي سرمايو نہ آهي، ان ڳالهہ کي خدا ڇو پسند ڪندو جنهن وٽ جيڪو ڪجهہ آهي ان جو پنهنجو ذاتي آهي ڪنهن ٻئي جو ڏنل نہ آهي. حقيقت اِها آهي تہ اهڙي قسم جا سڀئي عقيدا خدا جي هستيءَ جي نفي ڪري رهيا آهن. اهي خدا کي غير خدا جي سطح تي پهچائي رهيا آهن جيڪو ڪنهن بہ حال ۾ ممڪن نہ آهي.

وَ اللّٰهُ جَعَلَ لَكُمۡ مِّنۡ اَنۡفُسِكُمۡ اَزۡوَاجًا وَّ جَعَلَ لَكُمۡ مِّنۡ اَزۡوَاجِكُمۡ بَنِيۡنَ وَ حَفَدَةً وَّ رَزَقَكُمۡ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ ؕ اَفَبِالۡبَاطِلِ يُؤۡمِنُوۡنَ وَ بِنِعۡمَتِ اللّٰهِ هُمۡ يَكۡفُرُوۡنَ ﴿٧٢﴾ وَ يَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مَا لَا يَمۡلِكُ لَهُمۡ رِزۡقًا مِّنَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ شَيۡـًٔا وَّ لَا يَسۡتَطِيۡعُوۡنَ ﴿٧٣﴾ فَلَا تَضۡرِبُوۡا لِلّٰهِ الۡاَمۡثَالَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَعۡلَمُ وَ اَنۡتُمۡ لَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿٧٤﴾

۽ الله اوهان لاءِ اوهان مان ئي زالون بڻايون ۽ اوهان جي زالن مان اوهان لاءِ پٽ ۽ پوٽا پيدا ڪيا ۽ توهان کي سٺيون شيون کائڻ جي لاءِ ڏنيون. پوءِ ڇا اِهي باطل تي ايمان آڻين ٿا ۽ الله جي نعمت جو انڪار ڪن ٿا. ۽ هو الله کانسواءِ انهن شين جي عبادت ڪندا آهن جيڪي نہ سندن لاءِ آسمان مان ڪنهن روزي تي اختيار رکندا آهن ۽ نہ زمين ۾ ۽ نہ ئي اُهي طاقت رکندا آهن. تنهن ڪري توهان الله لاءِ مثال نہ گهڙيو. بيشڪ الله ڄاڻي ٿو ۽ توهان نٿا ڄاڻو. ٧٢-٧٤

انسان هڪ اهڙي مخلوق آهي جنهن جون بيشمار ضرورتون آهن. انهن سڀني ضرورتن جو انتظام نهايت ڪامل صورت ۾ دنيا جي اندر موجود آهي.

ماڻهو کي بک ۾ اُڃ لڳندي آهي ته هِتي کائڻ پيئڻ جون بهترين شيون وڏي مقدار ۾ موجود آهن. ماڻهو کي سڪون جي لاءِ زال جي ضرورت آهي ته هتي ان تقاضي مطابق مسلسل عورتون پيدا ڪيون وڃن ٿيون. ماڻهوءَ جي سامهون پنهنجي نسل جي بقا جو مسئلو آهي ته هِتي ان لاءِ پٽن ۽ پوٽن جي پيدائش جو نظام به موجود آهي.

اِهو سڀ ڪجهه خدا طرفان آهي. پر هر زماني ۾ انسان اِها غلطي ڪئي ته خدا جي انهن نعمتن کي غير خدا ڏانهن منسوب ڪري ڇڏيو. مشرڪ ماڻهو ان کي خدا ڪانسواءِ ديوين ۽ ديوتائن يا زنده يا مرده هستين ڏانهن منسوب ڪندا آهن ۽ جيڪي ملحد آهن اهي ان کي فطرت جي قانون جي انڌي عمل جو نتيجو قرار ڏيندا آهن. نعمتن جو هِي نظام ان لاءِ هو ته ان کي ڏسي ماڻهوءَ جي اندر خدا جي شڪر جو جذبو پيدا ٿئي. پر هٿ ٺوڪيل تصور جي ڪري اِهو نظام ماڻهو جي لاءِ رڳو خدا سان ڪفر جو ذريعو بڻجي ويو.

اڪثر عقيدن جون گمراهيون مثالن جي ڪري پيدا ٿي پونديون آهن. مثال طور انسان جا پٽ ۽ ڌيئريون آهن ته ان تي قياس ڪري سمجهيو ويو ته خدا جا به پٽ ۽ ڌيئرون آهن. دنيا ۾ وڏن ماڻهن وٽ ڪجهه فرد هوندا آهن جيڪي مقرب ۽ سفارشي هوندا آهن. ان کي مثال بڻائي فرض ڪيو ويو ته خدا جي دربار ۾ به ڪجهه قربت وارا آهن ۽ خدا وٽ انهن جي سفارش هلندي آهي.

اهڙي قسم جي مثالن مان شرڪ ۽ گمراهي جا ڪيترائي قسم پيدا ٿي پوندا آهن. پر اِهو خالق کي مخلوق تي قياس ڪرڻ آهي جيڪو سراسر جهالت آهي. خالق هر لحاظ کان مخلوق کان مختلف آهي. مخلوق جو ڪوبه مثال خالق لاءِ نه ٿو ڏئي سگهجي. مثال جي ذريعي ڳالهه کي سمجهائڻ ته غلط نه هوندو آهي. پر مثال ان وقت ئي ڪارآمد هوندو آهي جڏهن ماڻهو کي اصل ۽ تشبيهه ٻنهي جو علم هجي. انسان جڏهن خدا جي حقيقت کي نه ٿو ڄاڻي ته پوءِ ڪيئن هو ان جي مطابق ڪو مثال آڻي ٿو سگهي.

ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا عَبۡدًا مَّمۡلُوۡكًا لَّا يَقۡدِرُ عَلٰى شَىۡءٍ وَّ مَنۡ رَّزَقۡنٰهُ مِنَّا رِزۡقًا حَسَنًا فَهُوَ يُنۡفِقُ مِنۡهُ سِرًّا وَّ جَهۡرًا ؕ هَلۡ يَسۡتَوٗنَ ؕ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ ؕ بَلۡ اَكۡثَرُهُمۡ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿۷۵﴾

۽ الله مثال بيان ڪري ٿو هڪ خريد ٿيل غلام جو جيڪو ڪنهن شيءِ تي اختيار نه ٿو رکي ۽ هڪ شخص آهي جنهن کي اسان پاڻ وٽان سٺو رزق ڏنو آهي، هو اُن مان ڳجهو ۽ پڌرو خرچ ڪندو آهي. ڇا اِهي ٻئي برابر آهن. سڀ تعريف الله لاءِ آهي، پر انهن مان اڪثر ماڻهو نه ٿا ڄاڻن. ٧٥

---

شرڪ جي مثالن جي غلطي واضح ڪرڻ لاءِ هِتي هڪ سادو ۽ عام مثال ڏنو ويو آهي. هڪ ماڻهو آهي جنهن وٽ هر قسم جا اسباب آهن ۽ هو انهن جو ذاتي مالڪ آهي. اُتي ئي ٻيو شخص به آهي جيڪو ڪنهن به شيءِ جو ذاتي مالڪ نه آهي. انهن ٻنهي ماڻهن جي نوعيت هڪٻئي کان مختلف آهي. ان ڪري هڪ جو مثال ٻئي جي لاءِ ڪڏهن به نه ٿو ڏئي سگهجي.

پوءِ خدا ۽ ٻانهي ۾ نوعيت جو هي فرق ته پنهنجي ڪمال تي پهتل آهي. اهڙي حالت ۾ ڪيئن ممڪن آهي ته انساني واقعن سان خدا لاءِ مثال قائم ڪيا وڃن. هن ڪائنات ۾ خدا ۽ ٻين شين جي وچ ۾ جيڪا تقسيم آهي، اُها خالق ۽ مخلوق جي تقسيم آهي نه وري خدا ۽ خدا جي شريڪ جي. خدا جي هستي اُها هستي آهي جيڪا هر قسم جي ڪمال جو ذاتي سرچشمو آهي. جيڪو هر قسم جي نعمتن جو تنها بخشڻ وارو آهي. هِن ڪائنات ۾ سيني ڪان وڌيڪ حقيقت جي خلاف ڳالهه اِها آهي ته خدا کانسواءِ ڪنهن ٻئي جي لاءِ اُهي شيون فرض ڪيون وڃن، جنهن ۾ ڪو به اُن جو شريڪ نه آهي.

وَ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا رَّجُلَيۡنِ اَحَدُهُمَاۤ اَبۡكَمُ لَا يَقۡدِرُ عَلٰى شَىۡءٍ وَّ هُوَ كَلٌّ عَلٰى مَوۡلٰٮهُ ۙ اَيۡنَمَا يُوَجِّهْهُّ لَا يَاۡتِ بِخَيۡرٍ‌ ؕ هَلۡ يَسۡتَوِىۡ هُوَ ۙ وَ مَنۡ يَّاۡمُرُ بِالۡعَدۡلِ‌ ۙ وَ هُوَ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ ﴿۷۶﴾ ع ١٠/١٦

۽ الله هڪ ٻيو مثال بيان ڪري ٿو ته ٻه ماڻهو آهن جن مان هڪ گُونگو آهي، ڪو ڪم نه ٿو ڪري سگهي ۽ هو پنهنجي مالڪ تي هڪ بار آهي. هو ان کي جيڏانهن موڪلي ٿو اُهو ڪو ڪم صحيح نه ٿو ڪري اچي. ڇا هو ۽ اهڙو شخص برابر ٿي سگهن ٿا جيڪو انصاف جي تعليم ڏيندو آهي ۽ هو هڪ سڌي راهه تي آهي. ٧٦

---

متي آيت نمبر ٧٥ ۾ خدا جي مقابلي ۾ شريڪن جو بي حقيقت هئڻ ٻڌايو ويو هو ۽ آيت ٧٦ ۾ رسول جي مقابلي ۾ انهن هستين جو بي حقيقت هئڻ واضح ڪيو پيو وڃي جن جي پيروسي تي ماڻهو رسول جي هدايت کي نظر انداز ڪندو آهي.

پيغمبر جي خدا پنهنجي خاص توجهه جي ذريعي ان رستي ڏانهن رهنمائي ڪندو آهي جيڪو حق جو رستو آهي ۽ جيڪو سڌو خدا تائين پهچائڻ وارو آهي. پيغُمبر ۽ ان جا ساٿي ان رستي تي پاڻ هلندا آهن ۽ ٻين جي به ان ڏانهن رهنمائي ڪندا آهن. ٻئي طرف اُهي ماڻهو آهن جيڪي پيغمبر جي رستي کانسواءِ ٻين رستن ڏانهن سڏيندا آهن. سندن مثال انڌي ۽ ٻوڙي جو آهي، انهن وٽ نه ڪن آهن جو هو خدا جي آواز کي ٻڌن، نه انهن وٽ اکيون آهن جو ان جي ذريعي خدا جي جلون کي ڏسن. انهن ۾ نه اُها دل ۽ دماغ آهي جو هو ڪائنات ۾ ڦهليل خدائي نشانين کي ڏسن.

ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ۽ دماغ ان ڪري ڏنا ويا ته انهن جي ذريعي ماڻهو مخلوق جي آئيني ۾ خالق جو جلوو ڏسي، پر انسان انهن جو استعمال اِهو ڪيو جو هو خود مخلوق ۾ اٽڪي رهجي ويو.

وَ لِلّٰهِ غَيۡبُ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ‌ ؕ وَ مَاۤ اَمۡرُ السَّاعَةِ اِلَّا كَلَمۡحِ الۡبَصَرِ اَوۡ هُوَ اَقۡرَبُ‌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ﴿۷۷﴾

۽ آسمانن ۽ زمين جون لڪيل ڳالهيون الله لاءِ ئي آهن ۽ قيامت جو معاملو بس اهڙو هوندو جيئن اک ڇنڀڻ بلڪ ان کان به جلد، بيشڪ الله هر شيءِ تي قادر آهي. ٧٧

---

عالم ظاهر جي پويان هڪ غيبي نظام آهي. هِي غيبي نظام خدا جو قائم ڪيل آهي. پنهنجي محدوديت جي ڪري جيتوڻيڪ اسان ان غيبي نظام کي نه ٿا ڏسون، پر خود ان غيبي نظام تي اسان جي

هر شيءِ بلڪل پڌري آهي. خدا غيب ۾ رهي هر گهڙي پنهنجي دنيا جي هر ننڍي وڏي شيءِ کي ڏسي رهيو آهي. ان کي هر ڳالهه جو صحيح ترين اندازو آهي. خدا جڏهن فيصلو ڪندو ته هاڻي انسان جي امتحان جي مدت ختم ٿي وئي آهي، بلڪل اُن وقت هو اشارو ڪندو ۽ ان کان پوءِ اک ڇنڀ ۾ موجوده نظام يڪدم ٽٽي ويندو ۽ نئون نظام بلڪل مختلف بنيادن تي قائم ٿيندو. ته جيئن هر ڪنهن کي ان جي اصل مقام تي پهچائي ڇڏجي، جتي هو حقيقت جي لحاظ کان هو نه وري ان مقام تي جتي هو مصنوعي طور تي پنهنجي پاڻ کي ويهاري ويٺو هو.

وَ اللّٰهُ اَخۡرَجَكُمۡ مِّنۡۢ بُطُوۡنِ اُمَّهٰتِكُمۡ لَا تَعۡلَمُوۡنَ شَيۡـًٔا ۙ وَّ جَعَلَ لَكُمُ السَّمۡعَ وَ الۡاَبۡصَارَ وَ الۡاَفۡـِٕدَةَ ۙ لَعَلَّكُمۡ تَشۡكُرُوۡنَ ﴿۷۸﴾

۽ الله توهان کي توهان جي مائرن جي پيٽ مان ڪڍيو. جو توهان ڪنهن شيءِ کي نه ڄاڻندا هئا. ۽ ان توهان جي لاءِ ڪن ۽ اکيون ۽ دل بڻايا ته جيئن توهان شڪر ڪريو. ٧٨

---

انسان جڏهن پيدا ٿيندو آهي ته هو بلڪل عاجز ۽ بي سمجهه ٻار هوندو آهي، پر وڏو ٿي هو ان حيرت انگيز قوتن جو مالڪ بڻجي ويندو آهي جن کي ڪن ۽ اکيون ۽ عقل چوندا آهن. اهو به ممکن هو ته ماڻهو جنهن ڏينهن پيدا ٿيو هو، ان ئي ڏينهن ان جي اندر اُهي سڀئي صلاحيتون موجود هجن ها جيڪي وڏي عمر کي پهچي ان جي ۾ پيدا ٿينديون آهن.

پر ائين نه ڪيو ويو. رڳو اُن لاءِ ته انسان جي اندر شڪر جو جذبو پيدا ٿئي. اول هو پنهنجي ابتدائي بيوسي جي حالت کي ڏسي ۽ پوءِ وري اِهو ڏسي ته اِگهتي هلي هو ڪيئن هڪ ترقي يافته حالت کي پهچي ويو آهي. اهو ڏسي هو خدا جي مليل نعمت جو احساس ڪري ۽ خدا جي احسانمندي جي جذبي سان سرشار ٿي وڃي.

ڪنهن ماڻهو جي اندر اِها ڪيفيت صرف ان وقت پيدا ٿي سگهي ٿي، جڏهن هو خدا جي ڏنل صلاحيتن جو صحيح طور استعمال ڪري. ان جا ڪن ۽ اکيون ۽ دل رڳو ظاهري دنيا ۾ اٽڪي نه پون، بلڪ اُهي ان لاءِ اهڙي دري بڻجي وڃن جنهن مان ڪو شخص غيب جون جهلڪيون ڏسي وٺندو آهي.

اَلَمۡ يَرَوۡا اِلَى الطَّيۡرِ مُسَخَّرٰتٍ فِىۡ جَوِّ السَّمَآءِ ؕ مَا يُمۡسِكُهُنَّ اِلَّا اللّٰهُ ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوۡمٍ يُّؤۡمِنُوۡنَ ﴿۷۹﴾ وَ اللّٰهُ جَعَلَ لَكُمۡ مِّنۡۢ بُيُوۡتِكُمۡ سَكَنًا وَّ جَعَلَ لَكُمۡ مِّنۡ جُلُوۡدِ الۡاَنۡعَامِ بُيُوۡتًا تَسۡتَخِفُّوۡنَهَا يَوۡمَ ظَعۡنِكُمۡ وَ يَوۡمَ اِقَامَتِكُمۡ ۙ وَ مِنۡ اَصۡوَافِهَا وَ اَوۡبَارِهَا وَ اَشۡعَارِهَاۤ اَثَاثًا وَّ مَتَاعًا اِلٰى حِيۡنٍ ﴿۸۰﴾

ڇا ماڻهن پکين کي نه ڏٺو ته آسمان جي فضا ۾ تابع ڪيل آهن. انهن کي رڳو الله جهلي رکيو آهي. بيشڪ ان ۾ نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ايمان آڻين. ۽ الله توهان جي لاءِ توهان جي گهرن کي سڪون جو هنڌ بڻايو ۽ توهان لاءِ جانورن جي کل مان گهر بڻايا، جن کي توهان پنهنجي سفر جي ڏينهن ۽ قيام جي ڏينهن هلڪو سمجهندا آهيو ۽ سندن اُن ۽ سندن ڏاس ۽ سندن وارن مان گهر جو سامان ۽ فائدي جون شيون هڪ مدت جي لاءِ بڻايو ٿا. ٧٩-٨٠

---

پکين جو فضا ۾ اڏامڻ قدرت جي هڪ عظيم منصوبہ بندي جي تحت ٿيندو آهي. پرواز جي مقصد لاءِ پکين جي نهايت موزون بناوٽ، جنهن جو مشيني نقل هوائي جهاز جي صورت ۾ ڪيو ويو آهي. زمين تي هوا پکين لاءِ اهڙي ئي آهي جهڙي طرح ٻيڙي جي لاءِ سمنڊ. زمين جي ڪشش جي ڪري هوا جو مسلسل زمين جي مٿان قائم رهڻ وغيره. اِهي اعليٰ انتظام جيڪڏهن نہ هجن تہ فضا ۾ پکين جو اُڏامڻ ممڪن نہ ٿي سگهي.

هن واقعي کي گهري نظر سان ڏسجي تہ ماڻهوءَ کي ائين لڳندو تہ ڄڻ هو خدا کي پنهنجي ڪائنات ۾ عمل ڪندي ڏسي رهيو آهي. هو تخليقي نظام جي اندر ان جي خالق کي ڏسي وٺندو. هو نهيل شين ۾ ٺاهڻ واري جو جلوو ڏسي وٺندو.

اِهوئي معاملو خود انسان جو آهي. گهر ماڻهو جي لاءِ سڪون جو هنڌ آهي. پر گهر ڪيئن ٺهي ٿو. خدا جي ڪيترن ئي انتظامن جي ڪري زمين تي هڪ گهر جو قيام ممڪن ٿيندو آهي. اِهي سيئي تعميري جز جن جي ذريعي هڪ گهر ٺهندو آهي. اڳواٽ طور تي اسان جي دنيا ۾ رکيا ويا آهن. زمين ۾ نهايت مناسب مقدار ۾ ڪشش جي قوت آهي، جنهن جي ڪري گهر زمين جي سطح تي مضبوطي سان ٻيٺل آهن. ائين نہ هجي ها تہ هڪ هزار ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان ڊوڙندڙ زمين جي مٿان گهر اڏامي وڃن. اهڙي طرح اُهي شيون جن مان ماڻهو هلڪا خيما ٺاهيندو آهي ۽ اُهي شيون جن ۾ اِها صلاحيت آهي تہ انسان جي لباس جي صورت ۾ تبديل ٿي وڃن ۽ ان جي زينت جو ۽ موسمن ۾ سندس جسماني حفاظت جو ڪم ڏين.

اهڙي طرح جون سيئي شيون ان لاءِ آهن تہ ماڻهن ۾ پنهنجي رب جي نعمتن تي شڪر جو جذبو بيدار ٿئي، هو سندس عظمت ۽ قدرت جي احساس ۾ ان جي اڳيان جهڪي وڃي.

وَ اللّٰهُ جَعَلَ لَكُمۡ مِّمَّا خَلَقَ ظِلٰلًا وَّ جَعَلَ لَكُمۡ مِّنَ الۡجِبَالِ اَكۡنَانًا وَّ جَعَلَ لَكُمۡ سَرَابِيۡلَ تَقِيۡكُمُ الۡحَرَّ وَ سَرَابِيۡلَ تَقِيۡكُمۡ بَاۡسَكُمۡ ؕ كَذٰلِكَ يُتِمُّ نِعۡمَتَهٗ عَلَيۡكُمۡ لَعَلَّكُمۡ تُسۡلِمُوۡنَ ﴿۸۱﴾

۽ الله توهان جي لاءِ پنهنجي پيدا ڪيل شين جا پاڇا بڻايا ۽ توهان لاءِ جبلن ۾ لڪڻ جي جاءِ بڻائي ۽ توهان لاءِ اهڙا لباس بڻايا جيڪي توهان کي گرمي کان بچائيندا آهن ۽ اهڙا لباس بڻايا جيڪي لڙائي ۾ توهان کي بچائين ٿا. اهڙي طرح الله توهان تي پنهنجون نعمتون پوريون ڪندو آهي تہ جيئن توهان فرمانبردار ٿيو. ٨١

ڇت جو ۽ ٻين شين جو پاڇو ڪيتري اهميت رکندو آهي. ان جو اندازو ان وقت ٿيندو آهي، جڏهن ماڻهو پنهنجي پاڻ کي ڪنهن اهڙي رڻ ۾ ڏسي جتي ڪنهن قسم جي ڪا ڇانو نہ هجي. سج جي روشني ۽ گرمائش جو اهو نتيجو آهي تہ هڪ معمولي رڪاوٽ بہ اسان کي پاڇي جي ذريعي ڇانو ڏئي ڇڏيندي آهي. جيڪڏهن سج جي گرمائش موجوده گرمائش کان وڌيڪ هجي ها، جيڪا يقيني طور ممڪن هئي تہ اسان جا سڀ ڇانو ڏيندڙ گهر باهہ جي ڀَٺي ۾ تبديل ٿي وڃن ها. جبلن ۾ غارن جو هجڻ، جتي ماڻهو پنهنجي پناهہ گاهہ ٺاهي سگهي. دنيا ۾ اهڙين شين جو موجود هجڻ جيڪي پشم ۽ ڌاڳن ۾

تبديل تي ماڻهوءَ جي جسم لاءِ بچاءَ جو لباس ڏين. اهڙي قسم جون شيون ماڻهو جهڙي مخلوق لاءِ ايتريون ته اهم آهن جو جيڪڏهن اُهي نه هجن ها ته زمين تي نه انسان جو وجود هجي ها ۽ نه وري ڪنهن انساني تهذيب جو.

اِها معرفت هڪ ئي وقت ماڻهو جي اندر ٻه شيون پيدا ڪندي آهي. هڪ خدا جي لاءِ احسانمنديءَ جو جذبو، ڇاڪاڻ ته اُهوئي آهي جنهن ماڻهو کي اهڙيون قيمتي نعمتون ڏنيون آهن. ٻيو انديشيءَ جو جذبو، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن خدا پنهنجون نعمتون واپس وٺي ڇڏي ته ان ڪانپوءِ ماڻهوءَ وٽ ان جي تلافي جي ڪابه ٻي صورت نه آهي. اِهي احساس جڏهن ماڻهو جي اندر کي اهڙي طرح جاڳائي ڇڏين جو هو پنهنجي رب جي سامهون جهڪي پوي ته ان جو نالو ئي عبادت آهي.

فَاِنۡ تَوَلَّوۡا فَاِنَّمَا عَلَيۡكَ الۡبَلٰغُ الۡمُبِيۡنُ ﴿٨٢﴾ يَعۡرِفُوۡنَ نِعۡمَتَ اللّٰهِ ثُمَّ يُنۡكِرُوۡنَهَا وَ اَكۡثَرُهُمُ الۡكٰفِرُوۡنَ ﴿٨٣﴾

پوءِ جيڪڏهن اُهي منهن موڙين ته تنهنجي مٿان صرف صاف صاف پهچائي ڇڏڻ جي ذميداري آهي. اُهي ماڻهو الله جي نعمت کي سڃاڻيندا آهن. پوءِ اُهي ان جا منڪر ٿي ويندا آهن ۽ انهن ۾ اڪثر ناشڪر آهن. ٨٢-٨٣

---

جيڪو ماڻهو به ڪائنات جو مطالعو ڪندو آهي، چاهي اُهو هڪ عام ماڻهو هجي يا هڪ سائنسدان هجي، اُن تي اِهڙو وقت گذرندو آهي جو مخلوق تي غور ڪندي ان جو ذهن خالق ڏانهن منتقل ٿي ويندو آهي. اُن کي محسوس ٿيڻ لڳندو آهي ته اِهي حيرت انگيز شيون خود به خود بڻجي نه ويون آهن ۽ نه وري فرضي معبودن انهن کي بڻايو آهي. انهن جو ٺاهڻ وارو خدا يقيناً بزرگ ۽ برتر آهي.

پر خدا کي مڃڻ لازمي طور تي ماڻهو کان سندن زندگي جي تبديلي جو تقاضو ڪري ٿو. هو ماڻهو کان ان جي آزادي کسي وٺندو آهي. ان ڪري ماڻهو جڏهن ان تجربي مان گذرندو آهي ته وقتي تاثر ڪانپوءِ هو پنهنجي ذهن کي ان ڳالهه کان هٽائي ڇڏيندو آهي. هو خدا کي پاڻ ڪانپوءِ خدا کي ڇڏي ڏيندو آهي.

وَ يَوۡمَ نَبۡعَثُ مِنۡ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيۡدًا ثُمَّ لَا يُؤۡذَنُ لِلَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا وَ لَا هُمۡ يُسۡتَعۡتَبُوۡنَ ﴿٨٤﴾ وَ اِذَا رَاَ الَّذِيۡنَ ظَلَمُوا الۡعَذَابَ فَلَا يُخَفَّفُ عَنۡهُمۡ وَ لَا هُمۡ يُنۡظَرُوۡنَ ﴿٨٥﴾

۽ جنهن ڏينهن اسان هر امت مان هڪ شاهد ڪڙو ڪنداسون. پوءِ انڪار ڪرڻ وارن کي اِجازت نه ڏني ويندي ۽ نه انهن جي توبهه قبول ڪئي ويندي. ۽ جڏهن ظالم ماڻهو عذاب کي ڏسندا ته اِهو عذاب نه انهن تان هلڪو ڪيو ويندو ۽ نه کين مهلت ڏني ويندي. ٨٤-٨٥

---

پيغمبر ۽ پيغمبر جي سچي پيروي ڪندڙن جو قومن جي سامهون حق جو داعي بڻجي بيهڻ بظاهر هڪ معمولي واقعو معلوم ٿيندو آهي. دنيا وارن عام طور تي انهن واقعن کي ايترو گهٽ سمجهيو جو پيغمبر آخرالزمان ﷺ کي ڇڏي ڪوبه ٻيو پيغمبر نه آهي، جنهن جو ڪم سندس وقت جي تاريخ ۾ ذڪر جي قابل سمجهيو ويو هجي.

پر اِهو ڪم ان وقت بيحد اهم ۽ بيحد سنگين بڻجي ويندو آهي، جڏهن اُن کي آخرت سان جوڙي ڏٺو وڃي. ڇاڪاڻ تہ آخرت جي عظيم عدالت ۾ اِهي ئي پيغمبر ۽ داعي خدا جا گواهہ ٿيندا ۽ سندن شاهديءَ تي ماڻهن جي ابدي مستقبل جو فيصلو ڪيو ويندو. جن ماڻهن جي باري ۾ شاهد اِهو چوندا تہ انهن حق کي مڃيو ۽ پنهنجي پاڻ کي ان جي اطاعت ۾ ڏنو، اُهي اُتي جي ابدي دنيا ۾ جنتي قرار ڏنا ويندا ۽ جن جي باري ۾ خدا جا اُهي گواهہ ٻڌائيندا تہ انهن حق جو انڪار ڪيو ۽ ان جي اطاعت تي راضي نہ ٿيا، اُهي ابدي جهنم ۾ وڌا ويندا.

ڪنهن قوم ۾ خدا جا سچا داعي اچن ۽ اُها قوم انهن جي ڳالهہ نہ مڃي تہ اِهو سندن مجرم هئڻ جو قطعي ثبوت هوندو آهي، ان ڪانپوءِ اُها قوم اِهو چوڻ جو حق وڃائي ڇڏيندي آهي تہ اسان کي قيامت ۽ جنت ۽ دوزخ جي خبر نہ هئي، ان ڪري اسان کي اڄوڪي ڏينهن جي سزا کان معافي ڏني وڃي.

وَ اِذَا رَاَ الَّذِيۡنَ اَشۡرَكُوۡا شُرَكَآءَهُمۡ قَالُوۡا رَبَّنَا هٰٓؤُلَآءِ شُرَكَآؤُنَا الَّذِيۡنَ كُنَّا نَدۡعُوۡا مِنۡ دُوۡنِكَ ۚ فَاَلۡقَوۡا اِلَيۡهِمُ الۡقَوۡلَ اِنَّكُمۡ لَكٰذِبُوۡنَ ﴿۸۶﴾ وَ اَلۡقَوۡا اِلَى اللّٰهِ يَوۡمَئِذِ ٍۨالسَّلَمَ وَ ضَلَّ عَنۡهُمۡ مَّا كَانُوۡا يَفۡتَرُوۡنَ ﴿۸۷﴾ اَلَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا وَ صَدُّوۡا عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ زِدۡنٰهُمۡ عَذَابًا فَوۡقَ الۡعَذَابِ بِمَا كَانُوۡا يُفۡسِدُوۡنَ ﴿۸۸﴾

۽ جڏهن مشرڪ پنهنجن شريڪن کي ڏسندا تہ چوندا اي اسان جا رب! اهي ئي اسان جا شريڪ آهن جن کي اسان توکي ڇڏي پڪاريندا هئاسون. تڏهن اُهي انهن کي ورندي ڏيندا تہ اوهين ڪوڙا آهيو. ۽ ان ڏينهن هو الله جي اڳيان جهڪي ويندا ۽ جيڪي ٺاهہ ٺاهيندا هئا سي انهن کان وسري ويندا. جن انڪار ڪيو ۽ ماڻهن کي الله جي رستي کان روڪيو، اسان انهن کي عذاب مٿان عذاب وڌائينداسون، انهي سببان جو هو فساد ڪندا هئا. ٨٦-٨٨

---

قيامت ۾ اها حقيقت آخري حد تائين واضح ٿي ويندي تہ هِن ڪائنات ۾ هڪ خدا ڪانسواءِ ڪنهن وٽ ڪا طاقت نہ آهي. ان وقت جڏهن پوڄا ڪرڻ وارا پنهنجن انهن معبودن کي ڏسندا جن کي اُهي پوڄيندا هئا تہ هو اهڙيون ڳالهيون ڪندا جن مان سندن عُذر ثابت ٿيندو هجي. چڱ تہ اِهي ڪوڙا معبود دوکو ڏئي انهن کان غير خدا جي پوڄا ڪرائيندا رهيا. پر اُهي معبود فورًا ان جو انڪار ڪندا ۽ چوندا تہ اِها توهان جي پنهنجي سرڪشي هئي. توهان خدا جي تابعداري کان بچڻ لاءِ خود ڪوڙا معبود گهڙيا ۽ انهن جي نالي تي پنهنجي خواهش پرستي واري مذهب کي جائز ثابت ڪندا رهيا.

هڪ اُهو ماڻهو آهي جيڪو حق جي دعوت کي قبول نہ ٿو ڪري، ٻيو اهو آهي جيڪو ان سان گڏ ٻين کي بہ طرح طرح سان روڪڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پهرين رَوش جيڪڏهن گمراهي آهي تہ ٻي رَوش گمراهيءَ جي قيادت. گمراهہ ماڻهن کي جيڪو عذاب ٿيندو، ان جو ٻيڻو عذاب انهن ماڻهن کي ملندو جيڪي دنيا ۾ گمراهيءَ جي اڳواڻي ڪندا رهيا.

وَ يَوۡمَ نَبۡعَثُ فِيۡ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيۡدًا عَلَيۡهِمۡ مِّنۡ اَنۡفُسِهِمۡ وَ جِئۡنَا بِكَ شَهِيۡدًا عَلٰى هٰٓؤُلَآءِ ؕ
ع ١٢ وَ نَزَّلۡنَا عَلَيۡكَ الۡكِتٰبَ تِبۡيَانًا لِّكُلِّ شَىۡءٍ وَّ هُدًى وَّ رَحۡمَةً وَّ بُشۡرٰى لِلۡمُسۡلِمِيۡنَ ﴿۸۹﴾ ١٨

۽ جنهن ڏينهن اسان هر امت مان منجهن ئي هڪ شاهد ڪڙوڪنداسون ۽ توکي انهن تي شاهد بڻائي آڻينداسون ۽ اسان توتي ڪتاب نازل ڪيو آهي، هر شيءِ کي واضح ڪرڻ جي لاءِ. اهو هدايت ۽ رحمت ۽ خوشخبري آهي فرمانبردارن جي لاءِ. ٨٩

---

الله تعاليٰ جو طريقو اهو آهي تہ ڪنهن قوم مٿان ديچارڻ ۽ خوشخبري ڏيڻ جو ڪم خود ان قوم جي ڪنهن منتخب فرد جي ذريعي انجام ڏياريندو آهي. اِهوئي سبب آهي تہ ڪنهن قوم ۾ جيڪي پيغمبر آيا، اُهي پاڻ ان ئي قوم جا فرد هئا. هاڻي مسلمانن کي قيامت تائين ان ئي طرح هر قوم جي اندر دعوت ۽ شهادت جي ذميداري انجام ڏيڻي آهي. دنيا ۾ قومن کي دعوت ڏيڻ وارا ماڻهو آخرت ۾ قومن جي مٿان خدا جا شاهد ٿيندا. سندن گواهي تي قوم جي هر فرد لاءِ ثواب يا عذاب جو فيصلو ڪيو ويندو.

قرآن ۾ هر شيءِ جو بيان آهي. ان جو مطلب اِهو نہ آهي تہ ٻين آسماني ڪتابن ۾ هر شيءِ جو بيان نہ هو. حقيقت اِها آهي تہ هر آسماني ڪتاب جيڪو خدا طرفان آيو، ان ۾ هر شيءِ جو بيان موجود هو. جيئن تہ ان هر شيءِ جو تعلق دنيا جي علم ۽ فن سان نہ آهي، بلڪ آخرت جي ڪاميابي ۽ ناڪامي جي علم سان آهي. اُهي سڀئي شيون جيڪي آخرت ۾ ڪنهن کي ڪامياب يا ناڪام بڻائڻ واريون آهن، اُهي سڀ اصولي طور تي قرآن ۾ بيان ڪيون ويون آهن. هاڻي جيڪي ماڻهو ان مان هدايت وٺندا، انهن لاءِ هو هڪ عظيم نعمت بڻجي ويندو ۽ جيڪي ماڻهو ان مان هدايت نہ وٺن تہ سندن حصي ۾ صرف اُهو ايندو جو ان جو انڪار ڪرڻ ڪري پنهنجي لاءِ هلاڪت جو جواز فراهم ڪن.

إِنَّ ٱللَّهَ يَأۡمُرُ بِٱلۡعَدۡلِ وَٱلۡإِحۡسَٰنِ وَإِيتَآيِٕ ذِي ٱلۡقُرۡبَىٰ وَيَنۡهَىٰ عَنِ ٱلۡفَحۡشَآءِ وَٱلۡمُنكَرِ وَٱلۡبَغۡيِۚ يَعِظُكُمۡ لَعَلَّكُمۡ تَذَكَّرُونَ ﴿٩٠﴾

بيشڪ الله حڪم ڏيندو آهي، عدل جو ۽ احسان جو ۽ مٽن مائٽن کي ڏيڻ جو ۽ الله روڪي ٿو فحش ڪان ۽ مدائي ڪان ۽ سرڪشي ڪان. الله توهان کي نصيحت ڪندو آهي تہ جيئن توهان نصيحت وٺو. ٩٠

---

دنيا ۾ الله جو ڪو ٻانهو ڪهڙي طرح رهي. ان جو واضح بيان هِن آيت ۾ موجود آهي. اُن جي هن اهميت جي ڪري حضرت عمر بن عبدالعزيز هِن آيت کي جمعي واري خطبي ۾ شامل ڪيو.

پهرين شيءِ جنهن جو هڪ ماڻهوءَ کي اهتمام ڪرڻ گهرجي اهو عدل آهي. ان جو مطلب اِهو آهي تہ هڪ ماڻهوءَ تي جيڪو حق ٻين جو آهي، هُو ان کي پوري طرح ادا ڪري، چاهي حقدار ڪمزور هجي يا طاقتور، يا چاهي اهو پسنديده شخص هجي يا ناپسنديده. حقن جي ادائگي ۾ صرف حق جو لحاظ ڪرڻ گهرجي نہ وري ٻين شين جو.

ٻي شيءِ احسان آهي. ان مان مراد آهي تہ حقن جي ادائگي ۾ اعليٰ ظرف اختيار ڪيو وڃي، انصاف ۽ مروّت کئي وڃي. قانوني دائري ڪان اڳيان وڌي ماڻهن سان فياضي ۽ همدرديءَ جو رويو اختيار ڪيو وڃي. ماڻهوءَ جي اندر اهو حوصلو هئڻ گهرجي تہ هو ڪوشش ڪري پنهنجي لاءِ پنهنجي حق ڪان گهٽ تي راضي ٿي وڃي ۽ ٻين کي سندن حق ڪان وڌيڪ ڏيڻ جي ڪوشش ڪري.

ٽين شيءِ ”ايتاءِ ذِي القُربيٰ“ آهي. ان جو مطلب اِهو آهي تہ ماڻهو جهڙي طرح پنهنجي ٻار ٻچن جي

ضرورت ڪي ڏسي تڙپي ويندو آهي ۽ ان ڪي پورو ڪندو آهي تہ اهڙي طرح هو ٻين قريبي ماڻهن جي ضرورت جي باري ۾ بہ حساس هجي. هر مالدار ماڻهو پنهنجي مال تي رڳو پنهنجو ۽ پنهنجي گهروارن ئي جو حق نہ سمجهي، پر پنهنجن متن مائٽن جا حق ادا ڪرڻ ڪي بہ هو پنهنجي ذميداري ۾ شامل ڪري.

ان ڪان پوءِ هن آيت ۾ ٽن شين ڪان منع فرمايو ويو آهي.

پهرين شيءِ بيحائي آهي. ان مان مراد ڀڏريون اخلاقي برايون آهن. يعني اُهي برايون جن جو برو هجڻ خود سندس ضمير ٻڌائي ٿو ۽ ماڻهو عام طور تي ان ڪي بيحيائي سمجهندا آهن.

ٻي شيءِ منڪر آهي. منڪر معروف جو ابتڙ آهي. معروف انهن چڱين ڳالهين ڪي چوندا آهن جن ڪي هر معاشري ۾ سٺو سمجهيو ويندو آهي. ان جي ابتڙ منڪر مان مراد اُهي برا ڪم آهن جيڪي عام اخلاقي معيار جي خلاف آهن. انهن ۾ اُهي سيئي شيون شامل آهن جن ڪي انسان عام طور تي برو سمجهندا آهن ۽ جن ڪي قبول ڪرڻ ڪان انسان جي فطرت انڪار ڪندي آهي.

ٽين شيءِ بغي آهي. ان جي معنيٰ آهي حد ڪان لنگهڻ. ان ۾ هر اُها سرڪشي شامل آهي، جڏهن ماڻهو پنهنجي حد ڪان لنگهي ٻئي ماڻهو تي زور زبردستي ڪري. هو ڪنهن جي جان يا مال يا عزت جي خلاف ناحق ڪارروائيون ڪري. هو پنهنجي زور ۽ اثر رسوخ ڪي ناجائز فائدن لاءِ استعمال ڪرڻ لڳي.

وَ اَوۡفُوۡا بِعَهۡدِ اللّٰهِ اِذَا عٰهَدۡتُّمۡ وَ لَا تَنۡقُضُوا الۡاَیۡمَانَ بَعۡدَ تَوۡکِیۡدِهَا وَ قَدۡ جَعَلۡتُمُ اللّٰهَ عَلَیۡکُمۡ کَفِیۡلًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ یَعۡلَمُ مَا تَفۡعَلُوۡنَ ﴿۹۱﴾ وَ لَا تَکُوۡنُوۡا کَالَّتِیۡ نَقَضَتۡ غَزۡلَهَا مِنۡۢ بَعۡدِ قُوَّةٍ اَنۡکَاثًا ؕ تَتَّخِذُوۡنَ اَیۡمَانَکُمۡ دَخَلًۢا بَیۡنَکُمۡ اَنۡ تَکُوۡنَ اُمَّةٌ هِیَ اَرۡبٰی مِنۡ اُمَّةٍ ؕ اِنَّمَا یَبۡلُوۡکُمُ اللّٰهُ بِهٖ ؕ وَ لَیُبَیِّنَنَّ لَکُمۡ یَوۡمَ الۡقِیٰمَةِ مَا کُنۡتُمۡ فِیۡهِ تَخۡتَلِفُوۡنَ ﴿۹۲﴾

۽ توهان الله سان عهد کي پورو ڪريو، جڏهن توهان پاڻ ۾ عهد ڪري وٺو. ۽ قسمن کي پڪو ڪرڻ ڪانپوءِ نہ ٽوڙيو. ۽ توهان الله کي پاڻ تي ضامن بہ بڻائي چڪا هجو. بيشڪ الله ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجھ توهان ڪريو ٿا. ۽ توهان ان عورت وانگر نہ ٿيو جنهن پنهنجي محنت سان سُٽ ڪتڻ کان پوءِ ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٽوڙي ڇڏيو. توهان پنهنجي قَسمن کي پاڻ ۾ فساد وجهڻ جو ذريعو بڻايو ٿا رڳو ان سبب جي ڪري تہ هڪ جماعت ٻيءَ جماعت کان وڌي وڃي. الله ان جي ذريعي توهان جي آزمائش ڪندو آهي ۽ هو قيامت جي ڏينهن ان شيءِ کي چڱيءَ طرح توهان تي ظاهر ڪري ڇڏيندو جنهن ۾ توهان اختلاف ڪري رهيا آهيو. ٩١-٩٢

---

سُٽ ڪتڻ محنت جي ذريعي پڪڙيل ڌاڳن ڪي پاڻ ۾ ملائڻ آهي. ائين ان ڪري ڪيو ويندو آهي تہ جيئن انسان لاءِ ڪارآمد شيون تيار ٿين. هاڻي جيڪڏهن ڪو مرد يا عورت سڄي ڏينهن جي محنت ڪري سُٽ ڪتي ۽ پوءِ شام جو پنهنجي ڪتيل سُٽ ڪي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏي تہ ان جي سڄي محنت بي نتيجہ ٿي ويندي.

اِهوئي معاملو انهن ماڻهن جو آهي جيڪي پاڻ ۾ هڪ معاهدو ڪن ۽ پوءِ هڪ يا ٻي ڌر ڪنهن مناسب سبب جي بغير ان ڪي توڙي ڇڏي. ڪتيل سُٽ ڪي خوامخواهہ ٽوڙڻ پنهنجي محنت ڪي ضايع ڪرڻ آهي. اهڙي طرح ڪيل معاهدي ڪي ٽوڙڻ ان سڄي عمل ڪي باطل ڪرڻ آهي، جنهن جي نتيجي ۾

باهمي اتفاق جو هڪ معاملو وجود ۾ آيو هو.

موجوده دنيا ۾ هڪ ماڻهو ٻئي ماڻهو سان ملي زندگي گذاريندو آهي. هر ماڻهو ڪي پنهنجو ڪم ٻين ڪيترن ئي ماڻهن جي وچ ۾ ڪرڻو هوندو آهي. ان ڪري اجتماعي زندگي ۾ باهمي اعتماد جي تمام گهڻي اهميت آهي. ان ئي اجتماعي زندگي ڪي قائم ڪرڻ جي لاءِ بار بار هڪ انسان ۽ ٻئي انسان جي وچ ۾ معاهدا ۽ قول و قرار وجود ۾ ايندا آهن. ڪڏهن قسم ڪڻي ۽ ڪڏهن قسم ڪانسواءِ. هاڻي جيڪڏهن ماڻهو ائين ڪن جو معاهدن کي حقيقي جواز جي بغير ٽوڙي ڇڏين ته اجتماعي زندگي ۾ فساد ڦهلجي ويندو ۽ ڪنهن قسم جي تعمير ممڪن نه رهندي.

خدا جي نالي تي معاهدي جون ٻه صورتون آهن. هڪ اِها ته باقاعده قَسم جا لفظ ادا ڪري ڪنهن سان ڪو عهد ڪيو وڃي. ٻيو هِي ته قَسم جا لفظ نه ڳالهايا وڃن، پر جيڪو معاهدو ڪيو ويو آهي، ان ۾ خدا جو حوالو ٻه ڪنهن پهلوءَ سان شامل هجي. اهڙين سڀني صورتن ۾ عهد ڪرڻ وارا ڄڻ خدا کي ان معاملي جو شاهد يا ضامن بڻائيندا آهن. اهڙا معاهدا جن ۾ خدا جو نالو ٻه شامل ڪيو ويو هجي، ان کي ٽوڙڻ اڃا ٻه وڌيڪ برو آهي. ڇاڪاڻ ته ان جو مطلب اِهو آهي ته جڏهن ماڻهوءَ کي ٻين جي مٿان پنهنجو اعتبار قائم ڪرڻو هو ته ان خدا جي نالي کي استعمال ڪيو ۽ جڏهن ان تي نفس يا مفاد جا تقاضا غالب اچي ويا ته ان خدا کي نظر انداز ڪري ڇڏيو.

فرد يا قومن جي وچ ۾ جيڪي معاهدا ٿيندا آهن، انهن جون ٻه صورتون آهن. هڪ اِها ته اُهي اصولن جي تابع هجن. ٻيو اهو ته اُهي مفادن جي تابع هجن. قديم زماني ۾ ۽ اڄ ٻه عام حالت هي آهي ته جڏهن معاهدو ڪرڻ ۾ ڪو فائدو نظر اچي ٿو ته معاهدو ڪري ورتو آهي ۽ جڏهن معاهدو ٽوڙڻ ۾ فائدو نظر اچي ته ان کي ٽوڙي ڇڏي. ان جي ابتڙ اسلام جي تعليم هي آهي ته معاهدي کي شرعي ۽ اخلاقي اصولن جي تابع رکيو وڃي.

وَ لَوۡ شَآءَ اللّٰهُ لَجَعَلَکُمۡ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّ لٰکِنۡ يُّضِلُّ مَنۡ يَّشَآءُ وَ يَهۡدِيۡ مَنۡ يَّشَآءُ ؕ وَ لَتُسۡـَٔلُنَّ عَمَّا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۹۳﴾

۽ جيڪڏهن الله چاهي ها ته توهان سڀني کي هڪ ئي امت بڻائي ڇڏي ها، پر هو ٻي راهه ڪندو آهي جنهن کي چاهي ٿو ۽ هدايت ڏئي ڇڏيندو آهي جنهن کي چاهيندو آهي ۽ ضرور توهان کان توهان جي عملن جي پڇا ٿيندي. ٩٣

دنيا ۾ اختلاف آهن. حق ۽ ناحق هڪٻئي کان الڳ نه ٿا ٿين. ان جو سبب خدا جو اُهو منصوبو آهي جنهن جي تحت هُن موجوده دنيا کي بڻايو آهي ۽ اُهو منصوبو امتحان آهي.

موجوده دنيا ۾ انسان کي آزمائڻ خاطر پيدا ڪيو ويو آهي. اِهو مقصد ان جي بغير پورو نه ٿو ٿي سگهي جو هر ماڻهو کي مڃڻ ۽ نه مڃڻ جي آزادي هجي. ايستائين جو اُن کي اِها آزادي ٻه هجي جو هُو حق کي ناحق ثابت ڪري ۽ ناحق کي حق جي روپ ۾ پيش ڪري. جيڪڏهن اِها مصلحت نه هجي ها ته خدا سڀني انسانن کي اُن ئي طرح پنهنجي حڪم جو پابند بڻائي ڇڏي ها جهڙي طرح هُن سڄي ڪائنات کي پنهنجي حڪم جو پابند ڪري رکيو آهي.

اِها صورتحال قيامت تائين جي لاءِ آهي. قيامت جي ڏينهن پڌرو ٿي ويندو ته ڪنهن پنهنجي سمجهه کي صحيح طور تي استعمال ڪيو ۽ ڪنهن پنهنجي مفاد جي ڪري سچائيءَ کي نظر انداز ڪيو. ان وقت خدا هر هڪ سان اُهو معاملو ڪندو جنهن جو هُن موجوده امتحاني مرحلي ۾ خود کي اهل ثابت ڪيو هو.

وَ لَا تَتَّخِذُوۡۤا اَيۡمَانَكُمۡ دَخَلًاۢ بَيۡنَكُمۡ فَتَزِلَّ قَدَمٌۢ بَعۡدَ ثُبُوۡتِهَا وَ تَذُوۡقُوا السُّوۡٓءَ بِمَا صَدَدۡتُّمۡ عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ ۚ وَ لَكُمۡ عَذَابٌ عَظِيۡمٌ ﴿٩٤﴾ وَ لَا تَشۡتَرُوۡا بِعَهۡدِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيۡلًا ؕ اِنَّمَا عِنۡدَ اللّٰهِ هُوَ خَيۡرٌ لَّكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡنَ ﴿٩٥﴾

۽ توهان پنهنجن قسمن کي پاڻ ۾ فريب جو ذريعو نه بڻايو جو توهان جا پير ڄمڻ کان پوءِ ترڪي نه وڃن ۽ توهان ان ڳالهه جي سزا چکو جو توهان الله جي راهه کان روڪيو ۽ توهان تي هڪ وڏو عذاب اچي. ۽ الله جي عهد کي ٿوري فائدي لاءِ نه وڪڻو. جيڪو ڪجهه الله وٽ آهي اُهو توهان لاءِ بهتر آهي جيڪڏهن توهان ڄاڻو. ٩٤-٩٥

---

قسم کڻي معاهدو ڪرڻ پڪي معاهدي جي آخري صورت آهي. اُن لحاظ کان هِن آيت جي تحت سيئي معاهدا اچي ويندا آهن.

جيڪڏهن مسلمان ائين ڪن جو هو ٻين سان معاهدي جو معاملو ڪن ۽ پوءِ ڪنهن حقيقي سبب جي بغير رڳو مفاد جي ڪري ان کي ٽوڙي ڇڏين ته اُن سان ماحول ۾ مسلمانن جي اخلاقي ساک ختم ٿي ويندي ۽ ان جي نتيجي ۾ انهن جو اُهو عمل ماڻهن کي الله جي راهه کان روڪڻ جو ذريعو بڻجي ويندو. مفسر ابن ڪثير لکي ٿو ته جڏهن اسلام جا منڪر ڏسندا ته مسلمان معاهدو ڪيو ۽ پوءِ هُن ان سان بيوفائي ڪئي ته ان کي دينِ اسلام تي اعتماد باقي نه رهندو ۽ ان جي ڪري هُو خدا جي دين ۾ داخل ٿيڻ کان رڪجي ويندو (لان الكافر اذا راي ان المؤمن قد عاهده ثم غدر به لم يبق له وثوق بالدين فانصد بسببه عن الدخول في الاسلام).

عهد کي غير شرعي طور تي ٽوڙڻ جو واقعو هميشه ان ڪري پيش ايندو آهي جو ماڻهو کي اِهو نظر اچڻ لڳندو آهي ته جيڪڏهن هو معاهدي کي ٽوڙي ڇڏي ته ان کي فلاڻو دنياوي فائدو حاصل ٿي ويندو. پر مؤمن جي نظر آخرت تي هوندي آهي. جڏهن به ان جو نفس اهڙي قسم جو مطالبو ڪندو آهي ته هو پنهنجي نفس کي اِهو چئي دبائي ڇڏيندو آهي ته معاهدو ٽوڙڻ ۾ جيڪڏهن دنيا جو فائدو آهي ته معاهدو نه ٽوڙڻ ۾ آخرت جو فائدو ۽ دنيا جي فائدي جي مقابلي ۾ آخرت جو فائدو بيشڪ تمام وڏو آهي.

مَا عِنۡدَكُمۡ يَنۡفَدُ وَ مَا عِنۡدَ اللّٰهِ بَاقٍ ؕ وَ لَنَجۡزِيَنَّ الَّذِيۡنَ صَبَرُوۡۤا اَجۡرَهُمۡ بِاَحۡسَنِ مَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿٩٦﴾ مَنۡ عَمِلَ صَالِحًا مِّنۡ ذَكَرٍ اَوۡ اُنۡثٰى وَ هُوَ مؤمن فَلَنُحۡيِيَنَّهٗ حَيٰوةً طَيِّبَةً ۚ وَ لَنَجۡزِيَنَّهُمۡ اَجۡرَهُمۡ بِاَحۡسَنِ مَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿٩٧﴾

جيڪو ڪجهه توهان وٽ آهي، اهو ختم ٿي ويندو ۽ جيڪو ڪجهه الله وٽ آهي اهو باقي رهڻ وارو آهي. ۽ جيڪي ماڻهو صبر ڪندا اسان انهن جي چڱن ڪمن جو اجر انهن کي ضرور ڏينداسون. جيڪو ماڻهو ڪو نيڪ

ڪم ڪندو، چاهي اُهو مرد هجي يا عورت، بشرطيڪه هو مؤمن هجي ته اسان ان کي زندگي ڏينداسون هڪ سٺي زندگي. ۽ جيڪو ڪجھ هو ڪندا رهيا اُن جو اسان انهن کي بهترين بدلو ڏينداسون.٩٦-٩٧

خدا جي داعيءَ جو ساٿ ڏيڻ رواجي مذهبي نظام کي ڇڏي غير رواجي مذهب سان پنهنجي پاڻ کي وابسته ڪرڻ آهي. اهڙي طرح جو قدم کڻڻ هميشه ماڻهو لاءِ مشڪل هوندو آهي. اُن ۾ اُن فائدي کي نظر انداز ڪرڻ هوندو آهي جيڪو ماڻهو کان ملي رهيو آهي ۽ ان فائدي ڏانهن وڌڻ هوندو آهي جيڪو خدا کان ملڻ وارو آهي.

اِهڙي قسم جو فيصلو ڪرڻ لاءِ واحد شيءِ جيڪا درڪار آهي، اُهو ”صبر“ آهي. يعني اهو برداشت ڪرڻ ته ماڻهو سچائي جي فائدي لاءِ اڄ جو نقصان برداشت ڪري سگهي. يعني ماڻهو ۾ اِها صلاحيت هجي جو نظر اچڻ واري شيءِ جي مقابلي ۾ ان کي وڌيڪ اهميت ڏئي سگهي جيڪا نظر نٿي اچي. يعني اهو حوصلو جو ماڻهو قرباني جي قيمت تي ڪنهن شيءِ کي اختيار ڪري نه وري تڪڙي فائدي جي قيمت تي. خدا جا جيڪي ٻانها ان اعليٰ عزم جو ثبوت ڏين ته بيشڪ اُهي ان قابل آهن جو خدا انهن کي پنهنجي اعليٰ ترين نعمتن سان نوازي.

جيڪي ماڻهو خالص حق جو ساٿ ڏيڻ جي ڪري رواجي نظام ۾ نقصان کڻندا آهن، انهن کي ماڻهو سمجهن ٿا ته اُهي برباد ٿي ويا. پر خدا جو وعدو آهي ته هو انهن کي سندن قربانين جو تمام گهڻو معاوضو ڏيندو. موت کان پوءِ واري ابدي دنيا ۾ هو انهن کي نهايت بهترين زندگي سان نوازيندو. جن شين کي انهن وقتي طور تي وڃايو آهي، انهن کي هو وڌيڪ بهتر شڪل ۾ هميشه لاءِ ڏئي ڇڏيندو.

خدا جو اِهو واعدو عورتن لاءِ به اِهڙي طرح آهي جهڙي طرح اُهو مردن لاءِ آهي. خدا وٽ جزا جي معاملي ۾ عورت ۽ مرد جي ڪا تقسيم نه آهي.

فَاِذَا قَرَاۡتَ الۡقُرۡاٰنَ فَاسۡتَعِذۡ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ﴿۹۸﴾ اِنَّهٗ لَيۡسَ لَهٗ سُلۡطٰنٌ عَلَى الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَلٰى رَبِّهِمۡ يَتَوَكَّلُوۡنَ ﴿۹۹﴾ اِنَّمَا سُلۡطٰنُهٗ عَلَى الَّذِيۡنَ يَتَوَلَّوۡنَهٗ وَ الَّذِيۡنَ هُمۡ بِهٖ مُشۡرِكُوۡنَ ﴿۱۰۰﴾ ع ١٣ ١١ ١٩

پوءِ جڏهن تون قرآن پڙهين ته شيطان مردود کان الله جي پناهه گهرندو ڪر. ان جو زور انهن ماڻهن تي نه ٿو هلي جيڪي ايمان وارا آهن. ۽ پنهنجي رب تي ڀروسو رکندا آهن. ان جو زور صرف انهن ماڻهن تي هلندو آهي جيڪي ساڻس تعلق رکندا آهن ۽ جيڪي الله سان شرڪ ڪندا آهن. ٩٨-١٠٠

قرآن پڙهڻ جون به صورتون آهن. هڪ پنهنجي نصيحت لاءِ پڙهڻ. ٻيو دعوت جي خاطر ٻين جي سامهون پيش ڪرڻ، چاهي قرآن جي لفظن کي دهرايو وڃي يا ان جو مطلب بيان ڪيو وڃي. ٻنهي صورتن ۾ ضروري آهي ته ماڻهو شيطان جي مقابلي ۾ خدا جي پناهه گهري. تَعوّذ جو مطلب صرف ڪجھ مقرر لفظن جو تڪرار نه آهي، بلڪ پنهنجي پاڻ کي شعوري طور مسلح ڪرڻ آهي ته جيئن شيطان جو حملو بي اثر ٿي وڃي.

شيطان هر وقت ماڻهوءَ جي تاڙ ۾ آهي. هو قرآني لفظن جي مفهوم کي ان جي پڙهڻ واري جي ذهن ۾ بدلائي ڇڏيندو آهي ۽ جيڪا شيءِ متن ۾ نه هجي، ان کي تفسير ۾ شامل ڪرائي ڇڏيندو آهي. اهڙي طرح شيطان داعي ۽ مدعو جي وچ ۾ اهڙا فتنا پيدا ڪندو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ دعوت جو عمل رڪجي وڃي.

جيئن ته شيطان کي خدا صرف ڀٽڪائڻ ۽ ورغلائڻ جي آزادي ڏني آهي، ان کي اِها طاقت نه ڏني آهي جو هو ڪنهن کي زوريءَ گمراهيءَ جي رستي تي وجهي ڇڏي. جيڪي ماڻهو خدا سان پنهنجو ذهني رابطو قائم ڪيل هجن، انهن تي ان جو ڪجهه وس نه ٿو هلي. البت جيڪي ماڻهو خدا کان غافل هجن ۽ شيطان جي ڳالهين تي ڌيان ڏين ته سندن مٿان شيطان مسلط ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ جيڏانهن چاهيندو آهي اوڏانهن انهن کي وٺي ويندو آهي.

وَ اِذَا بَدَّلۡنَاۤ اٰيَةً مَّكَانَ اٰيَةٍ ۙ وَّ اللّٰهُ اَعۡلَمُ بِمَا يُنَزِّلُ قَالُوۡۤا اِنَّمَاۤ اَنۡتَ مُفۡتَرٍ ؕ بَلۡ اَكۡثَرُهُمۡ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿۱۰۱﴾ قُلۡ نَزَّلَهٗ رُوۡحُ الۡقُدُسِ مِنۡ رَّبِّكَ بِالۡحَقِّ لِيُثَبِّتَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ هُدًى وَّ بُشۡرٰى لِلۡمُسۡلِمِيۡنَ ﴿۱۰۲﴾

۽ جڏهن اسان هڪ آيت جي جاءِ تي ٻي آيت مٽائيندا آهيون ۽ الله خوب ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهه هو نازل ڪندو آهي ته هو چوندا آهن ته تو گهڙي آندي آهي. بلڪ انهن ۾ اڪثر ماڻهو علم نه ٿا رکن. چئو ته ان کي روح القدس تنهنجي رب طرفان حق سان لاٿو آهي ته جيئن هو ايمان وارن کي ثابت قدم رکي ۽ اُها هدايت ۽ خوشخبري هجي فرمانبردارن لاءِ. ١٠١-١٠٢

---

قرآن هڪ دعوتي ڪتاب آهي. ان جا مختلف حصا ٢٣ سال جي عرصي ۾ ٿورا ٿورا ڪري نازل ٿيندا رهيا. دعوت ۽ تربيت جي مصلحت جي تحت ڪجهه حڪمن ۾ تدريج جو طريقو به اختيار ڪيو ويو. (مثال طور پهرين اِهو حڪم آيو ته مخالفن جي مقابلي ۾ صبر ڪريو. ان کان پوءِ هي حڪم آيو ته انهن سان جنگ ڪريو).

اهڙي قسم جي "تبديلين" جي ڪري مخالف چوڻ لڳا ته قرآن خدا جو ڪتاب نه آهي. هِي محمدﷺ جي تصنيف آهي، جنهن کي هن خدا ڏانهن منسوب ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن اِهو خدا طرفان هجي ها ته ان ۾ ڪڏهن به اهڙي قسم جون تبديليون نه هجن ها.

مخالف جيڪڏهن قرآن جي معاملي ۾ سنجيده هجن ها ۽ تبديليءَ جي واقعي کي صحيح رخ کان ڏسن ها ته ان ۾ انهن کي حڪم ۾ تدريج جي حڪمت نظر اچي ها. پر جڏهن انهن ان کي غلط رخ کان ڏٺو ته تبديليءَ جو واقعو انهن کي انساني علم جي ڪمي جو نتيجو نظر آيو. جنهن شيءِ ۾ انهن لاءِ تصديق جو سامان لڪيل هو، ان کي انهن پنهنجي لاءِ ڪوڙ گهڙڻ جو ذريعو بڻائي ورتو.

قرآن کي حق سان نازل ڪيو ويو آهي. هِتي حق مان مراد خدا جو خالص ۽ ملاوٽ کان پاڪ دين آهي. جيڪي ماڻهو سچائيءَ جا طالب هجن ۽ ملاوٽي دينن ۾ اطمينان نه پائيندا هجن، انهن لاءِ قرآن واري دين ۾ پنهنجي تلاش جو جواب به آهي ۽ انهن جي قلب جي تسڪين جو سامان به.

وَ لَقَدۡ نَعۡلَمُ اَنَّهُمۡ يَقُوۡلُوۡنَ اِنَّمَا يُعَلِّمُهٗ بَشَرٌ ؕ لِسَانُ الَّذِيۡ يُلۡحِدُوۡنَ اِلَيۡهِ اَعۡجَمِيٌّ وَّ هٰذَا
لِسَانٌ عَرَبِيٌّ مُّبِيۡنٌ ﴿١٠٣﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۙ لَا يَهۡدِيۡهِمُ اللّٰهُ وَ لَهُمۡ عَذَابٌ
اَلِيۡمٌ ﴿١٠٤﴾ اِنَّمَا يَفۡتَرِي الۡكَذِبَ الَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۚ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الۡكٰذِبُوۡنَ ﴿١٠٥﴾

۽ اسان کي خبر آهي تہ اهي ماڻهو چوندا آهن تہ ان کي تہ هڪ ماڻهو سيکاريندو آهي. جنهن ماڻهو بابت هو چوندا آهن ان جي زبان عجمي آهي ۽ هي قرآن صاف عربي زبان ۾ آهي. بيشڪ جيڪي ماڻهو الله جي آيتن تي ايمان نہ ٿا آڻين، الله انهن کي ڪڏهن راهہ نہ ڏيکاريندو ۽ سندن لاءِ ڏکوئيندڙ سزا آهي. ڪوڙ تہ اهي ماڻهو گهڙيندا آهن جيڪي الله جي آيتن تي ايمان نہ ٿا رکن ۽ اِهي ئي ماڻهو ڪوڙا آهن. ١٠٣-١٠٥

---

مڪي ۾ ڪجهہ عجمي غلام هئا. انهن جا نالا تفسير جي ڪتابن ۾ جير، يسار، عائش، يعيش وغيره آيا آهن. هن واقعي ۾ سلمان فارسيؓ جو نالو بہ ورتو ويو آهي جيڪو بعد ۾ مسلمان ٿي ويو. اُهي غلام يا يهودي هئا يا نصراني. ان ڪري اُهي قديم آسماني مذهبن، يهوديت ۽ عيسائيت جي باري ۾ معلومات رکندا هئا. انهن مان ڪنهن جي بہ رسول اللهﷺ سان ملاقات ٿي ويندي هئي. اِهڙي طرح جي ملاقاتن کي بنياد بڻائي قريش جي ليڊرن چيو تہ ”اُهي ئي عجمي ماڻهو محمدﷺ کي ڪجهہ ڳالهيون ٻڌائي ڇڏيندا آهن ۽ هو انهن کي خدائي ڪلام چئي ماڻهن جي سامهون پيش ڪندو آهي“.

اِها ڪِل جهڙي ڳالهہ انهن ڇو چئي. ان جو سبب اُهائي عام برائي آهي جيڪا هر زماني ۾ ۽ هميشہ دنيا ۾ رهي آهي. اُها آهي پنهنجي وقت جي ماڻهو جي قيمت کي نہ سڃاڻڻ. قريش جي لاءِ رسول اللهﷺ انهيءَ وقت جي هڪ شخصيت هئا. ان ڪري اُهي پاڻﷺ کي سڃاڻڻ ۽ پاڻﷺ جي قدر ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا.

هِن آيت مان معلوم ٿيندو آهي تہ جيڪي ماڻهو وقت جي نفسيات جي فتني ۾ مبتلا هجن، اُهي ڪڏهن بہ حق کي قبول ڪرڻ جي توفيق نہ ٿا لهن. اهي حق کي مڃي وٺڻ جي بجاءِ اهو ڪندا آهن تہ حق جي علمبردار جي خلاف ڪوڙيون ڳالهيون گهڙيندا رهن ٿا. هو وڏين وڏين حقيقتن کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ننڍين ننڍين ڳالهين کي ڪٽي داعي جي شخصيت کي بدنام ڪندا آهن، هو ان ئي ۾ مشغول رهندا آهن، ايستائين جو مري خدا جي پڪڙ جا مستحق بڻجي ويندا آهن.

مَنۡ كَفَرَ بِاللّٰهِ مِنۡۢ بَعۡدِ اِيۡمَانِهٖۤ اِلَّا مَنۡ اُكۡرِهَ وَ قَلۡبُهٗ مُطۡمَئِنٌّۢ بِالۡاِيۡمَانِ وَ لٰكِنۡ مَّنۡ
شَرَحَ بِالۡكُفۡرِ صَدۡرًا فَعَلَيۡهِمۡ غَضَبٌ مِّنَ اللّٰهِ ۚ وَ لَهُمۡ عَذَابٌ عَظِيۡمٌ ﴿١٠٦﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمُ
اسۡتَحَبُّوا الۡحَيٰوةَ الدُّنۡيَا عَلَى الۡاٰخِرَةِ ۙ وَ اَنَّ اللّٰهَ لَا يَهۡدِي الۡقَوۡمَ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿١٠٧﴾ اُولٰٓئِكَ
الَّذِيۡنَ طَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوۡبِهِمۡ وَ سَمۡعِهِمۡ وَ اَبۡصَارِهِمۡ ۚ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الۡغٰفِلُوۡنَ ﴿١٠٨﴾ لَا
جَرَمَ اَنَّهُمۡ فِي الۡاٰخِرَةِ هُمُ الۡخٰسِرُوۡنَ ﴿١٠٩﴾

جيڪو ماڻهو ايمان آڻڻ کانپوءِ الله جو منڪر ٿيندو، سواءِ ان جي جنهن تي زبردستي ڪئي وڃي، بشرطيڪ ان جي

دل ايمان تي ڄميل هجي. پر جيڪو ماڻهو دل جي رضا سان منڪر ٿي وڃي ته اهڙن ماڻهن تي الله جو غضب ٿيندو ۽ انهن لاءِ وڏو عذاب آهي. اِهو ان ڪري جو انهن آخرت جي مقابلي ۾ دنيا جي زندگيءَ کي پسند ڪيو ۽ الله منڪرن کي راهه نه ٿو ڏيکاري. هِي اُهي ماڻهو آهن جن جي دلين تي ۽ سندن ڪنن تي ۽ سندن اکين تي الله مُهر هڻي ڇڏي. ۽ اهي ماڻهو بلڪل غافل آهن. لازمي ڳالهه آهي ته آخرت ۾ اهي ماڻهو خساري ۾ رهندا. ١٠٦-١٠٩

---

خدا وٽ حقيقت جو اعتبار ڪيو ويندو آهي نه وري رڳو ظاهر جو. اِهوئي سبب آهي جو اسلام ۾ انسان سان گهڻي رعايت ڪئي وئي آهي. جيڪڏهن ڪو شخص دل سان خدا جو سچو وفادار آهي. پر سخت مجبوريءَ جي حالت ۾ پنهنجي جان بچائڻ لاءِ وقتي طور تي ڪو ايمان جي خلاف ڪلمو چئي ڏي، ته خدا وٽ ان تي سندس پڪڙ نه ٿيندي. پر اُهي ماڻهو خدا وٽ ناقابل معافي آهن جيڪي اندر مان بدلجي چڪا هجن. جيڪي شيطاني شڪ شبهي يا حالتن جي دٻاءَ ڪان متاثر ٿي دل جي رضامندي سان ڪنهن ٻئي رستي تي هلي پون.

جڏهن ماڻهو ايمان جي بجاءِ غير ايمان جي روش اختيار ڪندو آهي ته ان جو سبب هميشه دنيا پرستي هوندو آهي. هو دنياوي مفاد کي خطري ۾ ڏسي غير مؤمناڻي روش تي هلي پوندو آهي. جيڪڏهن هو آخرت جي قدر ۽ قيمت کي سمجهندو هجي ها، ته دنيا جو مفاد ان کي ايترو حقير نظر اچي ها جو ان کي اِها ڳالهه بلڪل فضول نظر اچي ها ته دنيا جي خاطر هو آخرت کي ڇڏي ڏي.

آخرت جي مقابلي ۾ دنيا جا فائدا جيڪڏهن ڪنهن وٽ اهم بڻجي وڃن ته ان جو لازمي نتيجو اهو ٿيندو آهي جو هو معاملن ۽ مسئلن کي آخرت جي نڪته نظر سان سوچي نه ٿو سگهي. هو ڏسندو آهي ۽ ٻڌندو آهي پر دنيا ڏانهن لاڙي جي ڪري شين جو آخرت وارو پهلو ان جي نظرن کان اوجهل ٿي ويندو آهي. هو اُن ئي پهلو کي ڏسي سگهندو آهي جيڪو دنياوي مصلحت سان تعلق رکندو هجي. جيڪي ماڻهو غفلت جي ان مرتبي کي پهچي وڃن، انهن جي حصي ۾ هميشه جي نقصان کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي.

ثُمَّ اِنَّ رَبَّكَ لِلَّذِيۡنَ هَاجَرُوۡا مِنۡۢ بَعۡدِ مَا فُتِنُوۡا ثُمَّ جٰهَدُوۡا وَ صَبَرُوۡۤا ۙ اِنَّ رَبَّكَ مِنۡۢ
ع ٢٠ بَعۡدِهَا لَغَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ۝١١٠ يَوۡمَ تَاۡتِيۡ كُلُّ نَفۡسٍ تُجَادِلُ عَنۡ نَّفۡسِهَا وَ تُوَفّٰى كُلُّ نَفۡسٍ مَّا
عَمِلَتۡ وَ هُمۡ لَا يُظۡلَمُوۡنَ ۝١١١

پوءِ تنهنجو رب انهن ماڻهن لاءِ جن آزمائش ۾ وڌي وڃڻ کان پوءِ هجرت ڪئي، پوءِ جهاد ڪيو ۽ قائم رهيا ته ان کانپوءِ بيشڪ تنهنجو رب بخشڻ وارو، مهربان آهي. جنهن ڏينهن هر شخص پنهنجي ئي طرفان جهيڙو ڪندو ايندو ۽ هر شخص کي اُن جي ڪيل جو پورو بدلو ملندو ۽ انهن تي ظلم نه ڪيو ويندو. ١١٠-١١١

---

ماحول تي ناحق جو غلبو هجي، ان وقت ڪو شخص حق کي قبول ڪري ته هو سخت آزماش ۾ پئجي ويندو آهي. چئني پاسن کان ماحول زور پريندو آهي ته ماڻهو وري پيهر رواجي دنيا ڏانهن موٽي اچي. اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن هو حق تي قائم رهي، هو هر شيءِ ايستائين جو جائداد ۽ وطن کي ڇڏي ڏي، پر حق کي نه ڇڏي ته هو مهاجر ۽ مجاهد آهي ۽ الله جي نظر ۾ تمام وڏي ثواب جو مستحق آهي.

دنيا جي آزمائش ۾ جيڪا شيءِ حق تي ثابت قدم رکڻ واري آهي، اُها صرف آخرت جي ياد

آهي. هر ماڻهو تي تمام جلد هڪ سخت ڏينهن اچڻ وارو آهي. اُهو ڏينهن اهڙو سخت هوندو جو ماڻهو پنهنجن دوستن ۽ رشتيدارن کي بہ وساري ڇڏيندو. اُتي نہ ڪو شخص ڪنهن جي طرفان ڳالهائي سگهندو ۽ نہ ڪو شخص ڪنهن جو سفارشي بڻجي بيهندو. جيڪڏهن ماڻهوءَ کي ان اچڻ واري ڏينهن جو احساس هجي تہ ان جو اهوئي حال ٿيندو جو هو هر قسم جو نقصان برداشت ڪري وٺندو پر حق کي ڪڏهن بہ نہ ڇڏيندو.

وَ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا قَرْيَةً كَانَتْ اٰمِنَةً مُّطْمَئِنَّةً يَّاْتِيْهَا رِزْقُهَا رَغَدًا مِّنْ كُلِّ مَكَانٍ فَكَفَرَتْ بِاَنْعُمِ اللّٰهِ فَاَذَاقَهَا اللّٰهُ لِبَاسَ الْجُوْعِ وَ الْخَوْفِ بِمَا كَانُوْا يَصْنَعُوْنَ﴿١١٢﴾ وَ لَقَدْ جَآءَهُمْ رَسُوْلٌ مِّنْهُمْ فَكَذَّبُوْهُ فَاَخَذَهُمُ الْعَذَابُ وَ هُمْ ظٰلِمُوْنَ﴿١١٣﴾

۽ الله هڪ بستي وارن جو مثال بيان ڪري ٿو تہ اُهي امن ۽ اطمينان ۾ هئا. انهن کي سندن رزق ڪشادگي سان هر پاسي کان پهچي رهيو هو. پوءِ انهن خدا جي نعمتن جي ناشڪري ڪئي تہ الله انهن کي سندن عملن جي سبب بُک ۽ خوف جو مزو چکايو. ۽ انهن وٽ هڪ رسول انهن منجهان آيو تہ انهن ڪيس ڪوڙو ڄاتو پوءِ انهن کي عذاب اچي پڪڙيو ۽ اُهي ظالم هئا. ١١٢-١١٣

انسانن جي ڪا آبادي اطمينان جي حالت ۾ هجي ۽ انهن وٽ رزق جي فراواني هجي. پوءِ خدا پنهنجي ڪنهن ٻانهي کي انهن جي وچ ۾ کڙو ڪري، جيڪو انهن کي حق ڏانهن سڏي تہ اهڙي حالت ۾ هميشہ ٻن مان ڪا هڪ صورت پيش ايندي آهي. يا تہ اِها آبادي حق کي قبول ڪري وڏيڪ خدائي انعامن جي مستحق بڻبي ۽ جيڪڏهن هو ائين نہ ڪري تہ پوءِ ائين ٿيندو آهي جو ان تي طرح طرح جا حادثا گذرندا آهن. اُهي حادثا انهن جي حق ۾ خدائي عذاب نہ هوندا آهن، بلڪ خدائي تنبيهہ هوندا آهن. ان جو مقصد اِهو هوندو آهي تہ ماڻهو هوشيار ٿي وڃن. سندن احساس جاڳي ۽ اُهي خدا جي داعي جي سڏ تي لبيڪ چوڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃن.

جيڪڏهن اهڙي قسم جي تنبيهہ ڪارگر نہ ٿئي تہ دعوت جي تڪميل ڪانپوءِ ٻيو مرحلو اهو ايندو آهي تہ ان قوم کي هلاڪ ڪيو ويندو آهي تہ جيئن هو آخرت جي عالم ۾ پهچي پنهنجي ابدي انجام کي پهچي.

فَكُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ حَلٰلًا طَيِّبًا ۪ وَّ اشْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ﴿١١٤﴾ اِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةَ وَ الدَّمَ وَ لَحْمَ الْخِنْزِيْرِ وَ مَاۤ اُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ بِهٖ ۚ فَمَنِ اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَّ لَا عَادٍ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ﴿١١٥﴾

پوءِ جيڪي شيون الله توهان کي حلال ۽ پاڪ ڏنيون آهن، انهن مان کائو ۽ الله جي نعمت جو شڪر ڪريو. جيڪڏهن توهان ان جي عبادت ڪريو ٿا. هن تہ اوهان تي رڳو مردار کي حرام ڪيو آهي ۽ رت کي ۽ سُوئر جي گوشت کي ۽ جنهن تي الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي جو نالو ورتو ويو هجي. پوءِ جيڪو شخص مجبور ٿي وڃي، بشرطيڪ هو نافرماني ڪندڙ نہ هجي. ۽ نہ حد کان لنگهندڙ هجي تہ الله بخشڻ وارو مهربان آهي. ١١٤-١١٥

هن آيت جو تعلق روزانه ڪائڻ وارين شين سان آهي. خدا جيڪي خوراڪ جي قابل شيون پيدا ڪيون آهن، انهن ۾ ڪجهه مقرر شين کي ڇڏي باقي سڀ انسان جي لاءِ حلال آهن. پر قديم مشرڪ انسان ائين ڪيو جو خدا جي حلال ڪيل گهڻين غذائن کي خود پنهنجي لاءِ حرام ڪري ورتو. جديد ملحد انسان ان جي ابتڙ ائين ڪيو جو خدا جي حرام ڪيل گهڻين ئي غذائن کي خود پنهنجي لاءِ حلال ڪري ورتو. اِهي ٻئي شيون ان روح لاءِ قاتل آهن جنهن کي غذائي نعمتن جي ذريعي انسان جي اندر پيدا ڪرڻ مقصود آهي.

غذا انسان جي سڀني ضرورتن مان سڀ کان وڌيڪ اهم ضرورت آهي، جنهن جو هر انسان کي صبح ۽ شام تجربو ٿيندو آهي. خدا کي اِهو گهربل هو ته ماڻهو جڏهن غذا جو استعمال ڪري ته هو ان کي خدا جو عطيو سمجهي کائي ۽ ان تي خدا جو شڪر ادا ڪري. پر انسان سڄي معاملي کي ابتو ڪري ڇڏيو.

قديم شرڪ جي دور ۾ هن انهن غذائن کي ديوتائن سان منسوب ڪيو ۽ اهڙي طرح غذائن کي خدا جي بجاءِ ديوتائن جي ياد جو ذريعو بڻائي ڇڏيو. جديد ملحدن جي زماني ۾ ائين ٿيو جو انسان سڄي معاملي کي پنهنجي نفس جي لذت جي تابع ڪري ڇڏيو. هن خدا جي حرام غذائن کي به پنهنجي لاءِ حلال ڪري ورتو. نتيجو اِهو ٿيو جو خدا جون پيدا ڪيل شيون انسان جي لاءِ رڳو پنهنجي لذت جو دسترخوان بڻجي ويون.

مجبوريءَ جي حالت ۾ جيڪڏهن ڪو شخص خدا جي غذائي قانون کي بدلي ته هو ندامت يا شرمندگي جي جذبي تحت ائين ڪندو، نه وري سرڪشي جي جذبي تحت. ان ڪري ان سان انساني نفسيات ۾ ڪا خرابي پيدا ٿيڻ جو انديشو نه آهي.

وَ لَا تَقُوۡلُوۡا لِمَا تَصِفُ اَلۡسِنَتُكُمُ الۡكَذِبَ هٰذَا حَلٰلٌ وَّ هٰذَا حَرَامٌ لِّتَفۡتَرُوۡا عَلَى اللّٰهِ الۡكَذِبَ ؕ اِنَّ الَّذِيۡنَ يَفۡتَرُوۡنَ عَلَى اللّٰهِ الۡكَذِبَ لَا يُفۡلِحُوۡنَ ؕ﴿۱۱۶﴾ مَتَاعٌ قَلِيۡلٌ ۪ وَّ لَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿۱۱۷﴾

۽ پنهنجن زبانن سان گهڙيل ڪوڙ جي ڪري ائين نه چئو ته هي حلال آهي ۽ هِي حرام آهي ته الله تي توهان بهتان مڙهيو. جيڪي ماڻهو الله تي ڪوڙ مڙهين ٿا سِي ڪامياب نه ٿيندا. اُهي ٿورو فائدو ڪٽي وٺن ۽ سندن لاءِ دردناڪ عذاب آهي. ١١٦-١١٧

---

هن آيت جو تعلق عام قانون سازي سان نه آهي، بلڪ غذائي شين ۾ حرام ۽ حلال مقرر ڪرڻ سان آهي. انسان هميشه ائين ڪندو رهيو آهي ته هو ڪائڻ جي شين ۾ ڪجهه کي جائز ۽ ڪجهه کي ناجائز قرار ڏيندو رهيو آهي. ائين يا ته وهم ۽ وسوسن جي ڪري هوندو آهي يا خواهشن جي ڪري. پر ان کي ڪرڻ وارا ان کي مذهب سان منسوب ڪري ڇڏيندا آهن.

اهڙي قسم جي تحريف جو اهو نقصان آهي ته ان سان ماڻهن ۾ وهم پرستي ۽ خواهش پرستي جو مزاج پيدا ٿيندو آهي. جڏهن ته ماڻهوءَ جي لاءِ صحيح ڳالهه اِها آهي ته هو دنيا ۾ خدا پرست بڻجي رهي.

موجوده زندگي ۾ امتحان جي ڪري انسان کي آزادي حاصل آهي. وهم، وسوسن ۽ خواهشن کي

پنهنجو دين ٺاهڻ جو موقعو ملڻ جو سبب اِهائي آزادي آهي. جڏهن امتحان جي مدت ختم ٿيندي ته اچانڪ انسان کي خبر پوندي ته ان جي لاءِ هڪڙوئي ممڪن رستو هو. يعني خدا پرستي کي پنهنجو دين بنائڻ. ان کان علاوه جن شين کي هُن اپنايو آهي، اُهي رڳو امتحاني آزادي جو غلط استعمال هو نه ورِي اُن جو ڪو جائز حق. ان وقت ان کي اِهائي سزا پو ڳٽي پوندي جيڪا امتحان ۾ ناڪام ٿيڻ وارن جي لاءِ مقدر آهي.

وَ عَلَى الَّذِيْنَ هَادُوْا حَرَّمْنَا مَا قَصَصْنَا عَلَيْكَ مِنْ قَبْلُ ۚ وَ مَا ظَلَمْنٰهُمْ وَ لٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿١١٨﴾

۽ يهودين تي اسان اُهي شيون حرام ڪري ڇڏيون هيون جيڪي اسان هن کان اڳ توکي ٻڌائي چڪا آهيون ۽ اسان انهن تي ڪو ظلم نه ڪيو، بلڪ هو خود پاڻ تي ظلم ڪندا رهيا. ١١٨

---

يهوين جي مذهبي ڪتابن ۾ ڪجهه اهڙيون ڪائڻ جون شيون حرام آهن جيڪي اسلامي شريعت ۾ حرام نه ڪيون ويون آهن (النساء: ١٦٠). ان جو سبب اِهو نه آهي ته خود خدا ٻن قسمن جا حڪم ڏنا آهن. يهودين تي به اصل ۾ اُهي ئي غذائي شيون حرام ڪيون ويون هيون جيڪي هتي (النحل: آيت ١١٥) ۾ ذڪر ڪيل آهن. پر بعد ۾ يهودين هٺ ٺوڪيل تصورن جي تحت ڪجهه جائز شين کي پاڻ تي حرام ڪري ورتو. پيغمبرن جي چوڻ جي باوجود هو پنهنجي هِن هٺ ٺوڪيل دين کي ڇڏڻ لاءِ تيار نه ٿيا.

وڌيڪ اهو ته شروع ۾ انهن خدا جي حلال کي حرام ڪيو ۽ اهڙي طرح پنهنجي پاڻ کي ناحق مصيبتن ۾ وڌو ۽ پوءِ جڏهن هو ان حرام تي قائم نه رهي سگهيا ته عقيدي طور ان کي حرام سمجهندي عملاً ان کي پاڻ لاءِ جائز بڻائي ورتو. اهڙي طرح اُهي ٻيڻا مجرم بڻجي ويا.

ماڻهو جيڪڏهن ڪنهن هٺ ٺوڪيل نظريي جي تحت هڪ جائز شيءِ کي پاڻ لاءِ ناجائز بڻائي وٺي ۽ اُن جي خاطر قربانيون ڏيڻ شروع ڪري ته اِهو رڳو پنهنجي جان تي ظلم ڪرڻ هوندو، نه ورِي خدا جي رستي ۾ قرباني پيش ڪرڻ.

ثُمَّ اِنَّ رَبَّكَ لِلَّذِيْنَ عَمِلُوا السُّوْٓءَ بِجَهَالَةٍ ثُمَّ تَابُوْا مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ وَ اَصْلَحُوْٓا ۙ اِنَّ
رَبَّكَ مِنْۢ بَعْدِهَا لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١١٩﴾

پوءِ تنهنجي رب انهن ماڻهن لاءِ جن جهالت جي ڪري برائي ڪئي، ان ڪانپوءِ توبهه ڪئي ۽ پنهنجي اصلاح ڪئي ته تنهنجو رب ان ڪانپوءِ بخشڻ وارو مهربان آهي. ١١٩

---

جڏهن برائيءَ سان گڏ سرڪشي ۽ تعصب جا جذبا گڏجي وڃن ته ماڻهو ان کان هٽڻ لاءِ تيار نه ٿيندو آهي، چاهي ان جي عمل کي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ ڪيترائي دليل ڏنا وڃن. پر برائي جو ٻيو قسم اُهو آهي جيڪو رڳو ناداني جي ڪري پيدا ٿيندو آهي. ماڻهو بي خبري ۾ يا نفس کان مغلوب ٿي ڪا غلطي ڪري ويندو آهي. اهڙي ماڻهو جي اندر گهڻو ڪري ڏاڍائي نه هوندي آهي. جڏهن دليل سان ان تي ان جي غلطي واضح ٿي وڃي ته هو يڪدم واپس موٽي ٻيهر پاڻ کي صحيح رويي تي قائم ڪري وٺندو آهي.

پهرين قسم جي ماڻهن لاءِ معافيءَ جو ڪو سوال نہ آهي. پر ٻئي قسم جي ماڻهن لاءِ هي خوشخبري آهي تہ خدا انهن کي پنهنجن رحمتن جي ڇانو ۾ وٺي وٺندو، ڇاڪاڻ تہ هو پنهنجن ٻانهن تي تمام گهڻو مهربان آهي.

اِنَّ اِبۡرٰهِيۡمَ كَانَ اُمَّةً قَانِتًا لِّلّٰهِ حَنِيۡفًا ؕ وَ لَمۡ يَكُ مِنَ الۡمُشۡرِكِيۡنَ ﴿۱۲۰﴾ شَاكِرًا لِّاَنۡعُمِهٖ ؕ اِجۡتَبٰىهُ وَ هَدٰىهُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ ﴿۱۲۱﴾ وَ اٰتَيۡنٰهُ فِى الدُّنۡيَا حَسَنَةً ؕ وَ اِنَّهٗ فِى الۡاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيۡنَ ﴿۱۲۲﴾ ثُمَّ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡكَ اَنِ اتَّبِعۡ مِلَّةَ اِبۡرٰهِيۡمَ حَنِيۡفًا ؕ وَ مَا كَانَ مِنَ الۡمُشۡرِكِيۡنَ ﴿۱۲۳﴾

بيشڪ ابراهيم هڪ الڳ امت هو، الله جو فرمانبردار ۽ ان ڏانهن هڪ طرفو ۽ هو شرڪ ڪرڻ وارن مان نہ هو. هو ان جي نعمتن جو شڪر ڪرڻ وارو هو. الله ان کي چونڊي ورتو. ۽ سڌي رستي ڏانهن ان جي رهنمائي ڪئي. ۽ اسان ان کي دنيا ۾ بہ ڀلائي ڏني ۽ آخرت ۾ بہ هو ڀلارن مان هوندو. پوءِ اسان توڏانهن وحي موڪليو تہ ابراهيم جي طريقي جي پيروي ڪر جيڪو هڪ طرفو هو ۽ هو شرڪ ڪرڻ وارن مان نہ هو. ١٢٠-١٢٣

---

حضرت ابراهيمؑ کي قرآن ۾ خدا جو مطلوب انسان جي نموني طور پيش ڪيو ويو آهي. هو اهڙي نموني جو انسان ڪيئن بڻيو. ان ڪري جو هو ماحول جي بگاڙ جي مقابلي ۾ اڪيلو ايمان تي قائم ٿيڻ وارو انسان هو. هو اڪيلو خدا لاءِ ڪڙو ٿيو، جڏهن تہ ان راهہ ۾ ڪو ان جو ساٿ ڏيڻ وارو نہ هو.

حضرت ابراهيمؑ پوري طرح پنهنجي پاڻ کي خدا جي پابنديءَ ۾ ڏئي ڇڏيو هو. هُن عالمگير مشرڪاڻي ماحول ۾ پنهنجي پاڻ کي توحيد لاءِ هڪ طرفو ڪري ورتو. هو سيني شين کي خدا طرفان مليل شيءِ سمجهندا هئا ۽ انهن لاءِ سندس دل خدا جي شڪر جي جذبي سان ڀريل رهندي هئي. حضرت ابراهيمؑ جي ان ڪمال ايمان جي ڪري خدا اُن تي پنهنجي هدايت جون راهون کولي ڇڏيون ۽ ان کي پيغمبري لاءِ چونڊي ورتو، تہ جيئن هو دنيا وارن کي خدا جي دين کان آگاهہ ڪري.

حضرت ابراهيمؑ کي دنيا جي حسنہ (ڀلائي) ڏني وئي ۽ آخرت جي ڀلائي بہ. دنيا ۾ حضرت ابراهيمؑ کي نہ عوام جا ميڙ مليا نہ اقتدار جو تخت ۽ نہ ٻي ڪا دنياوي رونق جي شيءِ. ان جي باوجود قرآن جي گواهي آهي تہ ان کي خدا طرفان دنيا جي ڀلائي ملي هئي. ان مان معلوم ٿيو تہ خدا جي نظر ۾ دنيا جي ڀلائي نہ عوامي مقبوليت جو نالو آهي ۽ نہ دولت ۽ حڪومت جو، بلڪ دنيا جي ڀلائي خدا جي نظر ۾ اصل ۾ اهي ئي شيون آهن جن کي هتي حضرت ابراهيمؑ جي خصوصيت طور بيان ڪيو ويو آهي.

اِنَّمَا جُعِلَ السَّبۡتُ عَلَى الَّذِيۡنَ اخۡتَلَفُوۡا فِيۡهِ ؕ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَيَحۡكُمُ بَيۡنَهُمۡ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ فِيۡمَا كَانُوۡا فِيۡهِ يَخۡتَلِفُوۡنَ ﴿۱۲۴﴾

سبت انهن ماڻهن تي لازم ڪيو ويو هو جن ان ۾ اختلاف ڪيو هو. ۽ بيشڪ تنهنجو رب قيامت جي ڏينهن سندن وچ ۾ فيصلو ڪري ڇڏيندو جنهن ڳالهہ ۾ هو اختلاف ڪري رهيا هئا. ١٢٤

---

هفتي جو هڪ ڏينهن سيني شريعتن ۾ اجتماعي عبادت جو ڏينهن رهيو آهي. يهودي ان کي ڇنڇر (سبت) جي ڏينهن ملهائيندا آهن. عيسائي آچر جي ڏينهن ۽ مسلمانن کي حڪم آهي ته هو جمعي جي ڏينهن ان جو اهتمام ڪن.

يهودين جي بزرگن اجايا بحث ڪري پاڻ ئي سبت (Sabbath) لاءِ نوان نوان قانون ٺاهيا ۽ خود کي مصنوعي پابندين ۾ جڪڙي ورتو. پوءِ جڏهن انهن پابندين تي عمل ڪرڻ انهن کي ناممڪن لڳو ته پنهنجن بزرگن جي تقدس جي ڪري هو انهن کي رد نه ڪري سگهيا. پر عملي طور تي انهن ان جي خلاف هلڻ شروع ڪري ڇڏيو.

خدا جي دين ۾ بعد ۾ اچڻ وارن عالمن ۽ بزرگن پنهنجن تشريحن سان جيڪي اختلافَ پيدا ڪيا، انهن جو فيصلو دنيا ۾ ٿيڻ وارو نه آهي. پر جڏهن قيامت ايندي ته خدا ٻڌائي ڇڏيندو ته اصل آسماني دين ڇا هو ۽ اُهي ڪهڙيون شيون هيون جن کي ماڻهن پنهنجي طرفان اضافو ڪري دين ۾ شامل ڪري ڇڏيو.

اُدۡعُ اِلٰی سَبِیۡلِ رَبِّکَ بِالۡحِکۡمَۃِ وَ الۡمَوۡعِظَۃِ الۡحَسَنَۃِ وَ جَادِلۡهُمۡ بِالَّتِیۡ هِیَ اَحۡسَنُ ؕ اِنَّ رَبَّکَ هُوَ اَعۡلَمُ بِمَنۡ ضَلَّ عَنۡ سَبِیۡلِهٖ وَ هُوَ اَعۡلَمُ بِالۡمُهۡتَدِیۡنَ ﴿۱۲۵﴾

پنهنجي رب جي واٽ ڏانهن حڪمت ۽ سٺي نصيحت وسيلي سڏ ۽ انهن سان سٺي نموني بحث ڪر. بيشڪ تنهنجو رب خوب ڄاڻي ٿو ته ڪير ان جي راهه کان ڀٽڪي ويو آهي ۽ هو انهن کي به خوب ڄاڻي ٿو جيڪي راهه تي هلڻ وارا آهن. ١٢٥

---

دعوت جو عمل هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو انتهائي سنجيدگي ۽ خيرخواهيءَ جي جذبي تحت پيدا ٿيندو آهي. خدا جي سامهون جواب ڏيڻ جو احساس ماڻهوءَ کي مجبور ڪندو آهي ته هو خدا جي ٻانهن سامهون داعي بڻجي کڙو ٿئي. هو ٻين کي ان لاءِ سڏيندو آهي جو هو سمجهي ٿو جيڪڏهن مون ائين نه ڪيو ته آئون قيامت جي ڏينهن پڪڙيو ويندس. ان نفسيات جو قدرتي نتيجو آهي جو ماڻهو دعوتي عمل جو اُهو انداز اختيار ڪري ٿو وٺي جنهن کي حڪمت، سهڻي نصيحت ۽ سٺي نموني بحث ڪرڻ چيو ويو آهي.

حڪمت مان مراد دليل ۽ برهان آهي. ڪو دعوتي عمل ان وقت ئي حقيقي دعوتي عمل آهي، جڏهن ته اُهو اهڙن دليلن سان هجي جن ۾ مخاطب جي ذهن جي پوري رعايت شامل هجي. مخاطب وٽ ڪنهن شيءِ جو ثابت ٿيل شيءِ هئڻ جا جيڪي شرطَ آهن، انهن شرطن کي پورو ڪندي جيڪو ڪلام ڪيو وڃي، ان ئي کي هتي حڪمت وارو ڪلام چيو ويو آهي. جنهن ڪلام ۾ مخاطب جي ذهني ۽ فڪري رعايت شامل نه هجي، اهو غير حڪيماڻو ڪلام آهي ۽ اهڙو ڪلام ڪنهن کي داعي جو مرتبو نه ٿو ڏئي سگهي. سٺي نصيحت ان خاص شيءِ جو نالو آهي جيڪا دردمندي ۽ خيرخواهي جي نفسيات سان ڪنهن جي ڪلام ۾ پيدا ٿيندي آهي. جنهن داعيءَ جو اِهو حال هجي ته خدا جي عظمت ۽ جلال جو احساس ان جي شخصيت ۾ نمايان هجي، جڏهن هو خدا جي باري ۾ ڳالهائيندو ته يقيني طور تي ان جي ڪلام ۾ عظمت خداوندي جي جهلڪ نظر ايندي. جيڪو داعي جنت ۽ جهنم کي ڏسي ٻين کي ڏيکارڻ جي لاءِ اٿي ته ان جي ڪلام ۾ يقيني طور تي جنت جون بهارون ۽ جهنم جون هولناڪيون نظر اينديون. انهن شين جو رنگ داعي جي ڪلام کي اهڙو ٺاهي ڇڏيندو آهي جو دلين کي پگهاري ڇڏي ۽ اکين کي ڳوڙهن سان ڀري ڇڏي.

دعوتي ڪلام جي قبوليت جون خاصيتون اِهي ئي آهن. حڪمت ۽ چڱي نصيحت. جيئن ته دنيا ۾ هميشه ڪجهه اهڙا ماڻهو به موجود هوندا آهن جيڪي غير ضروري بحث ڪندا آهن. جن جو مقصد الجهائڻ هوندو آهي نه وري سمجهڻ ۽ سمجهائڻ. اهڙن ماڻهن جي باري ۾ داعي جيڪو انداز اختيار ڪندو آهي، انهيءَ جو نالو ”جدال بالتي هي احسن“ آهي. هو اُبتي ڳالهه جو جواب سڌي ڳالهه سان ڏيندو آهي. هو سخت لفظ ٻڌي به پنهنجي زبان مان نرم لفظ ڪڍندو آهي. هو الزام تراشي جي مقابلي ۾ دليل ۽ تجزيي جو انداز اختيار ڪندو آهي. هو اشتعال جي جواب ۾ صبر جو طريقو اختيار ڪندو آهي.

حق جي داعي جي نظر مد مقابل ماڻهو ڏانهن نه هوندي آهي، بلڪ ان خدا ڏانهن هوندي آهي جيڪو سيني جي مٿان آهي. ان ڪري هو اِهائي ڳالهه چوندو آهي جيڪا خدا جي ساهميءَ ۾ حقيقي ڳالهه هجي نه وري انسان جي ساهمي ۾.

وَ اِنۡ عَاقَبۡتُمۡ فَعَاقِبُوۡا بِمِثۡلِ مَا عُوۡقِبۡتُمۡ بِهٖ ؕ وَ لَئِنۡ صَبَرۡتُمۡ لَهُوَ خَيۡرٌ لِّلصّٰبِرِيۡنَ ﴿۱۲۶﴾ وَ
اصۡبِرۡ وَ مَا صَبۡرُكَ اِلَّا بِاللّٰهِ وَ لَا تَحۡزَنۡ عَلَيۡهِمۡ وَ لَا تَكُ فِيۡ ضَيۡقٍ مِّمَّا يَمۡكُرُوۡنَ ﴿۱۲۷﴾ اِنَّ
ع ١٦ ٩ ٢٢ اللّٰهَ مَعَ الَّذِيۡنَ اتَّقَوۡا وَّ الَّذِيۡنَ هُمۡ مُّحۡسِنُوۡنَ ﴿۱۲۸﴾ ع

۽ جيڪڏهن اوهان بدلو وٺو ته اوتروئي بدلو وٺو جيترو اوهان سان ڪيو ويو آهي ۽ جيڪڏهن اوهان صبر ڪريو ته اُهو صبر ڪرڻ وارن لاءِ تمام بهتر آهي ۽ صبر ڪريو ۽ اوهان جو صبر خدا جي توفيق ئي سان آهي ۽ تون انهن تي غم نه ڪر ۽ جيڪي تدبيرون اُهي ڪري رهيا آهن انهن سان تنگ دل نه ٿيءُ. بيشڪ الله انهن ماڻهن سان گڏ آهي جيڪي پرهيزگار آهن ۽ جيڪي نيڪي ڪرڻ وارا آهن. ١٢٦-١٢٨

---

هِتي داعي جو اهو ڪردار ٻڌايو ويو آهي جيڪو مخالفن جي مقابلي ۾ ان کي اختيار ڪرڻو آهي. فرمايو ويو ته جيڪڏهن مخالفن طرفان اهڙي تڪليف پهچي جنهن کي توهان برداشت نه ڪري سگهو ته توهان کي اوتري ئي ڪرڻ جي اجازت آهي جيتري توهان سان زيادتي ڪئي وئي آهي. جيئن ته اها اجازت رڳو انسان جي ڪمزوري کي ڏسندي بطور رعايت آهي. نه ته داعيءَ جو اصل ڪردار ته اِهو هئڻ گهرجي جو هو مدعو طرفان پيش اچڻ واري هر تڪليف تي صبر ڪري. هو مدعو سان حساب برابر ڪرڻ جي بجاءِ زيادتي جا اِهڙا سيئي معاملا خدا جي سپرد ڪري ڇڏي.

مخاطب جيڪڏهن حق کي نه مڃي. هو ان کي مٽائڻ لاءِ بضد ٿي وڃي ته ان وقت داعي کي سيني ڪان وڏي تدبير جيڪا ڪرڻي آهي اُهو صبر آهي، يعني رد عمل جي نفسيات يا جوابي ڪارروائين کان بچندي مثبت طور تي حق جو پيغام پهچائيندو رهڻ. داعي کي اصل ۾ جيڪو ثبوت ڏيڻو آهي، اهو هي ته هُو حقيقت ۾ الله کان ڊڄڻ وارو آهي. ان جي اندر اِهو ڪردار پيدا ٿي چڪو آهي جيڪو ان وقت پيدا ٿيندو آهي، جڏهن ته ماڻهو دنيا جي پردن مان گذري خدا کي ان جي لڪيل عظمتن سان ڏسي وٺي. جيڪڏهن داعي اهو ثبوت ڏئي ڇڏي ته ان ڪانپوءِ باقي ڪمن ۾ خدا ان جي طرفان ڪافي ٿي ويندو آهي. ان ڪانپوءِ دعوت جي مخالفن جي ڪابه تدبير داعي کي نقصان نه ٿي پهچائي سگهي، چاهي اِها تدبير ڪيتري ئي وڏي ڇو نه هجي.

دنيا ۾ پڻ قسمن جا انسان هوندا آهن. هڪ اُهي جن جون نگاهون انسانن ۾ اٽڪيل هجن. جن کي رڳو انسانن جون ڪارروائيون ڏسڻ ۾ اينديون هجن. ٻيا اُهي ماڻهو جن جون نگاهون خدا ۾ اٽڪيل هجن. جيڪي خدا جي طاقتن کي پنهنجن اکين سان ڏسي رهيا آهن. پهرين قسم جا ماڻهو ڪڏهن بہ صبر تي قائم نہ ٿا رهي سگهن. اهي رڳو ٻئي قسم جا انسان آهن جن جي لاءِ اِهو ممڪن آهي تہ اهي شڪايتن ۽ تڪليفن کي برداشت ڪن ۽ جيڪو ڪجهہ خدا طرفان ملڻ وارو آهي، ان جي خاطر ان کي نظرانداز ڪري ڇڏين جيڪو انسان طرفان ملي رهيو آهي.

داعي کي جهڙي طرح جوابي نفسيات کان پرهيز ڪرڻي آهي، ان ئي طرح ان کي جوابي ڪارروائي کان بہ پنهنجي پاڻ کي بچائڻو آهي. مخالفن جون سازشون ۽ تدبيرون بظاهر ڏيکارينديون آهن تہ ڪٿي هو دعوت ۽ داعي کي تباهہ ۽ برباد نہ ڪري ڇڏين. پر داعي کي هر حال ۾ خدا تي ڀروسو رکڻو آهي. ان کي اهو يقين رکڻو آهي تہ خدا سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو آهي ۽ هو يقيناً حق جي دعوت جو ساٿ ڏئي باطل پرستن کي ناڪام بڻائي ڇڏيندو.

(١٧) سُوْرَةُ اَسْرَاءَ مَكِّيَّةٌ (٥٠) | اٰياتها ١١١ | رڪوعاتها ١٢

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

المنزل (٤) الجزء (١٥)

سُبْحٰنَ الَّذِيْٓ اَسْرٰى بِعَبْدِهٖ لَيْلًا مِّنَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ اِلَى الْمَسْجِدِ الْاَقْصَا
الَّذِيْ بٰرَكْنَا حَوْلَهٗ لِنُرِيَهٗ مِنْ اٰيٰتِنَا ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ ①

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

پاڪ ذات آهي جيڪا وٺي ويئي هڪ رات پنهنجي ٻانهي کي مسجد الحرام کان پري جي ان مسجد تائين، جنهن جي چوڌاري برڪت رکي سون تہ جيئن اسان ان کي پنهنجون ڪجهہ نشانيون ڏيکاريون. بيشڪ هو ٻڌڻ وارو، ڏسڻ وارو آهي. ١

---

هجرت کان هڪ سال اڳ مڪي جون حالتون بيحد سخت هيون. ائين لڳندو هو تہ اسلام جي تاريخ ٻڌجڻ کان پهرين ئي ختم ٿي ويندي. ٺيڪ ان وقت الله پيغمبر اسلام کي هڪ عظيم نشاني ڏيکاري. اِها نشاني اُن حقيقت جو اِظهار هئي تہ اسلام جي تاريخ نہ رڳو پنهنجي تڪميل تائين پهچندي، بلڪ ان جي چؤطرف اهڙيون حالتون عملي طور جمع ڪيو وينديون جو اِها ابدي طور تي زنده ۽ محفوظ رهي. چاڪاڻ تہ هاڻي ان کي ئي قيامت تائين سڀني قومن جي لاءِ خدا جي مستند دين جو ذريعو ٿيڻو آهي.

الله پنهنجي خاص اهتمام تحت پيغمبر اسلام ﷺ کي مڪي کان فلسطين (بيت المقدس) وٺي ويو. اهو جسماني يا روحاني سفر پاڻ ﷺ جي معراج جي سفر جي پهرين منزل هئي. هِتي بيت المقدس ۾ پهريان سڀئي پيغمبر بہ جمع هئا. انهن سڀني ملي باجماعت نماز ادا ڪئي ۽ پيغمبر اسلام اڳيان بيهي

انهن سيني جي امامت فرمائي. پاڻﷺ جي امامت جو اهو واقعو ڄڻ ان خدائي فيصلي جي هڪ علامت هئي تہ اڳ واريون سيئي شريعتون هاڻي هدايت الٰهي وٺڻ واري حيثيت ڪان منسوخ ڪيون ويون آهن. هاڻي خدا جي هدايت کي ڄاڻڻ جي لاءِ سيني قومن کي پيغمبر اسلام جي آندل دين ڏانهن رجوع ڪرڻ کپي.

ان اهم تقريب کي انجام ڏيڻ جي لاءِ فلسطين موزون جاءِ هئي. فلسطين اڪثر نبين جي دعوت جو مرڪز رهيو آهي. ان ڪري خدا پنهنجي ان فيصلي جي اظهار لاءِ ان ئي خاص علائقي جو انتخاب فرمايو.

وَ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَ جَعَلْنٰهُ هُدًى لِّبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اَلَّا تَتَّخِذُوْا مِنْ دُوْنِيْ وَكِيْلًا ۝٢ ذُرِّيَّةَ مَنْ حَمَلْنَا مَعَ نُوْحٍ ۭ اِنَّهٗ كَانَ عَبْدًا شَكُوْرًا ۝٣

۽ اسان موسيٰ کي ڪتاب ڏنو ۽ ان کي بني اسرائيل لاءِ هدايت بڻايو تہ مون کانسواءِ ڪنهن کي پنهنجو ڪارساز نہ بڻايو. توهان انهن ماڻهن جي اولاد آهيو جن کي اسان نوح سان گڏ سوار ڪيو هو. بيشڪ هو هڪ شڪر گذار ٻانهو هو. ٢-٣

---

اسراء جي ذڪر ڪيل واقعي جو مطلب اِهو هو تہ بني اسرائيل (يهودين) کي ڪتاب جي حامل هئڻ جي مقام تان برطرف ڪيو ويو آهي ۽ انهن جي جاءِ تي بني اسماعيل کي ڪتاب الٰهي جو حامل بڻايو ويو. اِهو واقعو خدا جي سنت جي تحت عمل ۾ آيو. خدا هِن دنيا ۾ حق جي اعلان لاءِ ڪنهن خاص گروهہ کي منتخب ڪندو آهي. اهو سيني کان وڏو اعزاز آهي جيڪو هِن دنيا ۾ ڪنهن کي ملندو آهي.

جيئن تہ اهو انتخاب نسل يا قوم جي بنياد تي نہ آهي. ان جو استحقاق ڪنهن گروهہ يا جماعت لاءِ صرف ان وقت ثابت ٿيندو آهي، جڏهن تہ هو ان لاءِ اهليت جو ثبوت ڏي. اهليت ختم ٿيندي ئي ان جو استحقاق بہ ختم ٿي ويندو آهي. امت آدمؑ، امت نوحؑ، امت موسيٰؑ، امت مسيحؑ، هر هڪ سان اهو واقعو پيش اچي چڪو آهي. آئنده جي امتن لاءِ بہ خدا جو قانون اِهوئي آهي، ان ۾ ڪنهن کي ڪا استثناء نہ آهي.

ان منصب لاءِ جيڪا اهليت درڪار آهي، اُها اِها آهي تہ خدا کان سواءِ ڪنهن کي وڪيل (ڪارساز) نہ بڻايو وڃي. صرف هڪ خدا تي ڀروسو ڪري پنهنجا سيئي معاملا ان جي حوالي ڪيا وڃن.

خدا کي جڏهن ماڻهو ان جي سيني عظمتن ۽ قدرتن سان گڏ ڳولي لهندو آهي. تہ ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي تہ هو خدا کي پنهنجو وڪيل بڻائي وٺندو آهي. جنهن ماڻهو کي خدا جي حقيقي معرفت حاصل ٿي وڃي، ان جو حال اُهوئي ٿيندو جو هو هن دنيا ۾ خدا کي پنهنجو سڀ ڪجهہ بڻائي وٺندو. جيڪي ماڻهو اهڙي طرح خدا کي پائي وٺن، اُهي ئي موجوده دنيا ۾ مؤمناڻي زندگي گذاري سگهندا آهن. مؤمناڻي زندگي گذارڻ لاءِ ماڻهو کي سڀني مخلوق (جي اثر ڪان) مٿي ٿيڻو پوندو آهي ۽ سڀني مخلوق جي اثر ڪان اِهوئي ماڻهو مٿي ٿي سگهي ٿو جيڪو سيني ڪان وڏي شيءِ مخلوق جي خالق ۽ مالڪ کي پائي وٺي.

حق جي دعوت جي ذميداري بہ اُهي ئي ماڻهو صحيح طور تي ادا ڪري سگهندا آهن جن کي

خدا جي معرفت جو اِهو درجو حاصل ٿي وڃي. حق جي دعوت لاءِ ڪامل بي غرضي ۽ ڪامل طور هڪ طرفو ٿيڻ ضروري آهي ۽ ڪامل بي غرضي ۽ ڪامل طور هڪ طرفو ٿيڻ ڪنهن جي اندر ايستائين پيدا نہ ٿو ٿئي سگهي جيستائين ان جون سڀئي اميدون ۽ انديشا خدا سان وابستہ ٿي نہ وڃن. خدا ئي اُن جو سڀ ڪجهہ بڻجي چڪو هجي.

وَ قَضَيْنَآ اِلٰى بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ فِي الْكِتٰبِ لَتُفْسِدُنَّ فِي الْاَرْضِ مَرَّتَيْنِ وَ لَتَعْلُنَّ عُلُوًّا كَبِيْرًا﴿۴﴾ فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ اُوْلٰىهُمَا بَعَثْنَا عَلَيْكُمْ عِبَادًا لَّنَآ اُولِيْ بَاْسٍ شَدِيْدٍ فَجَاسُوْا خِلٰلَ الدِّيَارِ وَكَانَ وَعْدًا مَّفْعُوْلًا﴿۵﴾ ثُمَّ رَدَدْنَا لَكُمُ الْكَرَّةَ عَلَيْهِمْ وَ اَمْدَدْنٰكُمْ بِاَمْوَالٍ وَّ بَنِيْنَ وَجَعَلْنٰكُمْ اَكْثَرَ نَفِيْرًا﴿۶﴾

۽ اسان بني اسرائيل کي ڪتاب ۾ ٻڌائي ڇڏيو هو تہ توهان ٻہ دفعا زمين (شام) ۾ فساد ڪندو ۽ وڏي سرڪشي ڏيکاريندو. پوءِ جڏهن انهن مان پهريون وعدو آيو تہ اسان توهان تي پنهنجا ٻانها موڪليا نهايت زور وارا. اهي گهرن ۾ گهڙي پيا ۽ وعدو پورو ٿي رهيو. پوءِ اسان توهان کي وري انهن تي غلبو ڏنو ۽ مال ۽ اولاد سان توهان جي مدد ڪئي ۽ توهان کي گهڻي وڏي جماعت بڻائي ڇڏيو. ٤-٦

---

هتي فساد مان مراد ديني بگاڙ آهي. جيڪو حضرت موسيٰ عليه السلام کان پوءِ بني اسرائيل ۾ ظاهر ٿيو. ان جا ٻہ دور آهن. پهرين دور جي بگاڙ جو تفصيل پراڻي عهد نامي، زبور، يسعياه، يرمياه ۽ حزقي ايل جي ڪتابن ۾ آهي ۽ ٻئي دور جي بگاڙ جا تفصيل حضرت مسيح عليه السلام جي زبان سان آهن جيڪو نئين عهد نامي متي ۽ لوقا جي انجيلن ۾ موجود آهي.

رسول الله ﷺ کي مڪي کان بيت المقدس آندو ويو تہ جيئن "پاڻ ﷺ کي خدا جون نشانيون ڏيکاريون وڃن". انهن نشانين ۾ هڪ نشاني اِها تاريخ بہ هئي جيڪا بيت المقدس سان وابستہ آهي.

هِي تاريخ اصل ۾ خدا جي هڪ قانون جو ظهور آهي. اِهو قانون اِهو آهي تہ آسماني ڪتاب جي حامل قوم جيڪڏهن ڪتاب الٰهي جو حق ادا ڪري تہ ان کي (آخرت جي ڪاميابي ڪان علاوه) دنيا ۾ عزت ۽ سرفرازي ڏني وڃي ۽ جيڪڏهن هو ڪتاب جا حق ادا نہ ڪري تہ ان کي دنيا جي جابر قومن جي حوالي ڪيو وڃي جيڪي ان کي پنهنجي ظلم ۽ جبر جو نشانو بڻائين. اِها ڄڻ تہ هڪ علامت آهي جيڪا هِن ئي دنيا ۾ ٻڌائي ڇڏيندي آهي تہ خدا ان قوم مان خوش آهي يا ناخوش.

هن قانون جو ظهور حامل ڪتاب (يهودين) تي بار بار ٿيو آهي، جن مان ٻن نمايان واقعن جو هِتي بطور نصيحت حوالو ڏنو ويو آهي.

بني اسرائيل تي شروع ۾ خدا اهو انعام ڪيو جو انهن کي فرعون جي ظلم مان نجات ڏياري ۽ پوءِ حضرت موسيٰ عليه السلام کان پوءِ انهن لاءِ اهڙيون حالتون پيدا ڪيون جو هو فلسطين تي قبضو ڪري پنهنجي سلطنت قائم ڪري سگهن، پر ان کان پوءِ يهودين جي اندر بگاڙ اچي ويو. هڪ پاسي هو مشرڪ قومن تي داعي بڻجڻ جي بجاءِ انهن جا مدعو بڻجي ويا ۽ انهن جي اثر جي ڪري مشرڪاڻي عملن ۾ مبتلا ٿي ويا. ٻئي پاسي هو پاڻ ۾ اختلاف جو شڪار ٿي ٽولا ٽولا ٿي ويا.

خدا جي نافرمانيءَ جي نتيجي ۾ بني اسرائيل تي جيڪو ڪجهه گذريو، ان ۾ هڪ نمايان واقعو بابل (عراق) جي بادشاهه بنوڪدنضر جو آهي. يهودين جي ڪمزورين مان فائدو وٺي بنوڪدنضر فلسطين تي پنهنجي بالادستي قائم ڪري ورتي. ان کان پوءِ ان خود يهودين جي شاهي خاندان مان هڪ شخص کي پنهنجو نمائندو ٺاهيو جو هو ان جي طرفان انهن تي حڪومت ڪري، پر يهودين ان جي محڪوميءَ هيٺ رهڻ کي پنهنجي قومي فخر جي خلاف سمجهيو ۽ ان جي خلاف بغاوت جو ارادو ڪيو. انهن جي اندر اهڙا شاعر ۽ مقرر پيدا ٿيا جن پرجوش انداز ۾ يهودين کي اڀارڻ شروع ڪيو. يهودين جي پيغمبر يرمياهه تنبيهه ڪئي ته اهي سڀ ڪوڙا ليڊر آهن. توهان انهن جي فريب ۾ نه اچو. توهان پنهنجي موجوده ڪمزورين سان شاهه بابل جي مقابلي ۾ ڪامياب نه ٿا ٿي سگهو. ان جي بجاءِ توهان ائين ڪريو جو شاهه بابل جي سياسي بالادستيءَ کي تسليم ڪندي پنهنجي ديني اصلاح ۽ تعميري جدوجهد ۾ لڳي وڃو. ايستائين جو الله توهان جي لاءِ وڏيڪ راهون پيدا ڪري ڇڏي، پر يهودين يرمياهه نبيءَ جي نصيحت کي نه مڃيو. خوش فهم ليڊرن جي ڳالهين ۾ اچي انهن شاهه بابل جي خلافت بغاوت ڪري ڇڏي. ان کان پوءِ شاهه بابل سخت غضبناڪ ٿي ويو. ان ٻيهر ٥٨٦ ق.م ۾ پنهنجي پوري طاقت سان فلسطين تي حملو ڪيو. يهودين کي مڪمل شڪست ٿي. شاهه بابل نه رڳو يهودين کي زبردست دنيوي نقصان پهچايو، بلڪ يروشلم ۾ يهودين جي عبادت خاني کي مڪمل طور ڪيرائي ڇڏيو جيڪو يهودين جي عظمت جو آخري نشان هو.

اِنْ اَحْسَنْتُمْ اَحْسَنْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ ۟ وَ اِنْ اَسَاْتُمْ فَلَهَا ؕ فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ الْاٰخِرَةِ لِيَسُوْٓءٗا وُجُوْهَكُمْ وَ لِيَدْخُلُوا الْمَسْجِدَ كَمَا دَخَلُوْهُ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّ لِيُتَبِّرُوْا مَا عَلَوْا تَتْبِيْرًا ۝٧ عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يَّرْحَمَكُمْ ۚ وَ اِنْ عُدْتُّمْ عُدْنَا ۘ وَ جَعَلْنَا جَهَنَّمَ لِلْكٰفِرِيْنَ حَصِيْرًا ۝٨

جيڪڏهن توهان سٺا ڪم ڪندؤ ته توهان پنهنجي لاءِ سٺو ڪندؤ ۽ جيڪڏهن توهان برا ڪم ڪندؤ ته به پنهنجي لاءِ برو ڪندؤ. پوءِ جڏهن ٻئي وعدي جو وقت آيو ته اسان ٻيا ٻانها موڪليا جو هو توهان جي چهرن کي بگاڙي ڇڏين ۽ مسجد (بيت المقدس) ۾ داخل ٿي وڃن جهڙي طرح ان ۾ پهرين ڀيري داخل ٿي ويا هئا ۽ جنهن شيءِ تي انهن جو زور هلي ان کي برباد ڪري ڇڏين. قريب آهي جو توهان جو رب توهان تي رحم ڪري ۽ جيڪڏهن توهان وري ڦرندؤ ته اسين به وري اهوئي ڪنداسون ۽ اسان جهنم کي منڪرن لاءِ قيدخانو بڻائي ڇڏيو آهي. ٧-٨

---

حادثن جي نتيجي ۾ بني اسرائيل جي اندر الله ڏانهن رجوع ڪرڻ جي ڪيفيت پيدا ٿي ته خدا ٻيهر انهن جي مدد ڪئي. هن دفعي خدا شاهه ايران سائرس (خسرو) کي کڙو ڪيو. ان ٥٣٩ ق.م ۾ بابل تي حملو ڪيو ۽ ان جي حڪومت کي شڪست ڏئي ان تي قبضو ڪري ورتو. ان کان پوءِ هن يهودين تي اها مهرباني ڪئي جو انهن کي ٻيهر بابل کان سندن وطن فلسطين وڃڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي ۽ پوءِ هو واپس آيا ۽ هڪ عرصي کان پوءِ وري پنهنجو عبادت خانو تعمير ڪيو.

جيئن ته يهودين جي نئين نسل ۾ ڀيهر ساڳيو بگاڙ پيدا ٿيڻ لڳو جيڪو سندن پوئين نسل ۾ پيدا ٿيو هو، ان وچ ۾ انهن جي اندر مختلف لاها چاڙها آيا. ايستائين جو انهن جي وچ ۾ حضرت يحيٰؑ ۽ حضرت مسيحؑ آيا. انهن پيغمبرن يهودين جي روش تي تنقيد ڪئي. انهن جي ان بي دينيءَ کي واضح ڪيو جيڪا هو دين جي نالي تي ڪري رهيا هئا. پر يهودين ان تنقيد ۽ تجزيي جو اثر قبول ڪرڻ جي بجاءِ بگڙي ويا. ايستائين جو انهن حضرت يحيٰؑ کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ حضرت مسيحؑ کي ڦاهيءَ تي چاڙهڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا.

هاڻي ڀيهر انهن تي خدا جو غضب نازل ٿيو. سن ٧٠ع ۾ رومي بادشاهه ٽيٽس (Titus) آيو ۽ ان يروشلم تي حملو ڪري ان کي بلڪل تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو.

يهودين جي تاريخ جا اهي واقعا خود يهودين وٽ به تسليم ٿيل آهن، پر يهودي جڏهن انهن تاريخي واقعن جو ذڪر ڪندا آهن ته هو انهن کي ٻين جي ظلم سان منسوب ڪري ڇڏيندا آهن. پر قرآن واضح طور تي انهن کي خود يهودين جي ظلم سان منسوب ڪري رهيو آهي. ان مان معلوم ٿيو ته سياسي حالتون هميشه اخلاقي حالتن جي تابع هونديون آهن. ڪو ظالم ڪنهن جي مٿان ظلم نه ٿو ڪري، بلڪ قوم جي ديني ۽ اخلاقي حالت جو بگاڙ ماڻهن کي اهو موقعو ڏيندو آهي ته هو ان کي پنهنجي ظلم ۽ زيادتيءَ جو نشانو بڻائين.

اِنَّ هٰذَا الْقُرْاٰنَ يَهْدِيْ لِلَّتِيْ هِيَ اَقْوَمُ وَ يُبَشِّرُ الْمُؤْمِنِيْنَ الَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ الصّٰلِحٰتِ
ع اَنَّ لَهُمْ اَجْرًا كَبِيْرًا ۝٩ وَّ اَنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ اَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ۝١٠

بيشڪ هي قرآن اها راهه ڏيکاري ٿو، جيڪا بلڪل سڌي آهي ۽ هو خوشخبري ڏي ٿو ايمان وارن کي جيڪي چڱا عمل ڪندا آهن ته سندن لاءِ وڏو اجر آهي. ۽ اهو ته جيڪي ماڻهو آخرت کي نٿا مڃن، انهن لاءِ اسان هڪ دردناڪ عذاب تيار ڪري رکيو آهي. ٩-١٠

---

قرآن سڀني انسانن کي توحيد ڏانهن سڏيندو آهي. يعني هڪ خدا کي مڃيندي پنهنجي پاڻ کي ان جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ ۾ ڏئي ڇڏڻ. اها هڪ اهڙي ڳالهه آهي، جنهن کان وڌيڪ صحيح، جنهن کان وڌيڪ معقول ۽ جنهن کان وڌيڪ فطرت جي مطابق ڳالهه ڪا ٻي ٿي نٿي سگهي. توحيد بيشڪ سڀني کان وڏي حقيقت آهي ۽ ان سان گڏ ئي سڀني کان وڏي سچائي.

توحيد جي هن حيثيت جو تقاضو آهي ته اها ئي سڀني انسانن جي لاءِ آزمائش جو معيار هجي. ان جي بنياد تي ئي ڪنهن کي صحيح قرار ڏنو ويجي ۽ ڪنهن کي غلط، ڪو ڪامياب ٿئي ۽ ڪو ناڪام.

موجوده دنيا ۾ بظاهر اهو معيار سامهون نه ٿو اچي ۽ ان جي بنياد تي انسانن جي عملي طور تي تقسيم نه ٿي ڪئي وڃي، پر اهو رڳو خدا جي امتحان جي قانون جي ڪري آهي. انفرادي طور تي موت ۽ اجتماعي طور تي قيامت ان امتحان جي آخري حد آهي. اها حد ايندي ئي انسان ٻن گروهن جي صورت ۾ الڳ الڳ ڪيا ويندا. توحيد جي رستي کي اختيار ڪرڻ وارا پنهنجي پاڻ کي جنت ۾ لهندا ۽ ان کي اختيار نه ڪرڻ وارا پنهنجي پاڻ کي جهنم ۾.

وَ يَدۡعُ الۡاِنۡسَانُ بِالشَّرِّ دُعَآءَهٗ بِالۡخَيۡرِ ؕ وَ كَانَ الۡاِنۡسَانُ عَجُوۡلًا ﴿۱۱﴾ وَ جَعَلۡنَا الَّيۡلَ وَ
النَّهَارَ اٰيَتَيۡنِ فَمَحَوۡنَاۤ اٰيَةَ الَّيۡلِ وَ جَعَلۡنَاۤ اٰيَةَ النَّهَارِ مُبۡصِرَةً لِّتَبۡتَغُوۡا فَضۡلًا مِّنۡ رَّبِّكُمۡ
وَ لِتَعۡلَمُوۡا عَدَدَ السِّنِيۡنَ وَ الۡحِسَابَ ؕ وَ كُلَّ شَيۡءٍ فَصَّلۡنٰهُ تَفۡصِيۡلًا ﴿۱۲﴾

۽ انسان برائي گهرندو آهي جهڙي طرح ان کي ڀلائي گهرڻ کپي ۽ انسان وڏو جلدباز آهي. ۽ اسان رات ۽ ڏينهن کي ٻه نشانيون بڻايو. پوءِ اسان رات جي نشانيءَ کي مٽايوسون ۽ ڏينهن جي نشانيءَ کي اسان روشن ڪري ڇڏيو ته جيئن توهان پنهنجي رب جو فضل تلاش ڪريو ۽ ته جيئن توهان سالن جي ڳڻپ ۽ حساب معلوم ڪريو ۽ اسان هر شيءِ کي خوب کولي بيان ڪيو آهي. ١١-١٢

---

رات ۽ ڏينهن جو نظام ٻڌائي ٿو ته خدا جو طريقو اهو آهي ته پهرين اونداهي هجي ۽ ان کان پوءِ روشني اچي. خدائي نقشي ۾ ٻئي ضروري آهن. جهڙيءَ طرح روشنيءَ ۾ فائدا آهن، اهڙيءَ طرح اونداهيءَ ۾ به فائدا آهن. دنيا ۾ جيڪڏهن رات ۽ ڏينهن جو فرق نه هجي ته ماڻهو پنهنجي وقت کي تقسيم ڪهڙي طرح ڪري. هو پنهنجي ڪم ۽ آرام جو نظام ڪهڙي طرح ٺاهي.

ماڻهوءَ کي ائين نه ڪرڻ گهرجي جو هو ”اونداهيءَ“ کان گهٻرائي ۽ رڳو ”روشنيءَ“ جو طالب بڻجي وڃي. ڇاڪاڻ ته خدا جي دنيا ۾ ائين ٿيڻ ممڪن نه آهي. جيڪو ماڻهو ائين چاهيندو هجي، ان کي خدا جي دنيا ڇڏي پنهنجي لاءِ ٻي دنيا تلاش ڪرڻي پوندي.

پر عجيب ڳالهه آهي جو اهائي انسان جي سڀني کان وڏي ڪمزوري آهي. هو هميشه اهو چاهيندو آهي ته ان کي اونداهيءَ جو مرحلو پيش نه اچي ۽ فورًا ئي ان کي روشني حاصل ٿي وڃي. ان ئي ڪمزوريءَ جو نتيجو اها شيءِ آهي، جنهن کي جلدبازي چيو ويندو آهي. جلدبازي اصل ۾ خدا جي منصوبي تي راضي نه ٿيڻ جو ٻيو نالو آهي ۽ خدائي منصوبي تي راضي نه ٿيڻ ئي سڀني انساني بربادين جو اصل سبب آهي.

خدا چاهي ٿو ته انسان دنيا جي لذتن تي صبر ڪري ته جيئن هو آخرت ڏانهن پنهنجو سفر جاري رکي سگهي. پر انسان پنهنجي جلدبازيءَ جي ڪري دنيا جي وقتي لذتن تي ڪِري پوندو آهي. هو اڳيان وڌي پنهنجو سفر جاري نه ٿو رکي سگهي. ماڻهوءَ جي جلد بازي ان کي آخرت جي نعمتن کان محروم ڪرڻ جو سڀني کان وڏو سبب آهي.

اهوئي دنيا جو معاملو به آهي. دنيا ۾ به حقيقي ڪاميابي صبر سان ملندي آهي نه وري جلدبازيءَ سان.

يهودين کي سندن پيغمبر يرمياهه نصيحت ڪئي ته توهان بابل جي حڪمران جو سياسي غلبو في الحال تسليم ڪري وٺو ۽ ابتدائي مرحلي ۾ پنهنجون ڪوششون صرف دعوتي ۽ تعميري ميدان ۾ لڳايو. ان ڪانپوءِ اهو وقت به ايندو جڏهن الله تعاليٰ توهان لاءِ غلبي ۽ اقتدار جون راهون کولي ڇڏيندو. پر يهودين جي جلدبازي ان تي راضي نه ٿي. انهن چاهيو ته ”اونداهي“ جي مرحلي مان گذرڻ کان سواءِ ”روشني“ جي مرحلي ۾ داخل ٿي وڃن. انهن يڪدم شاهه بابل جي خلاف سياسي لڙائي شروع ڪري

چڙهي. ڇاڪاڻ ته خدا جي نظام ۾ ائين ٿيڻ ممڪن نه هو. تنهن ڪري سندن حصي ۾ ذلت ۽ رسوائيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه آيو.

وَ كُلَّ اِنْسَانٍ اَلْزَمْنٰهُ طٰٓىِٕرَهٗ فِيْ عُنُقِهٖ ؕ وَ نُخْرِجُ لَهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ كِتٰبًا يَّلْقٰىهُ مَنْشُوْرًا ﴿۱۳﴾
اِقْرَاْ كِتٰبَكَ ؕ كَفٰى بِنَفْسِكَ الْيَوْمَ عَلَيْكَ حَسِيْبًا ﴿ؕ۱۴﴾ مَنِ اهْتَدٰى فَاِنَّمَا يَهْتَدِيْ
لِنَفْسِهٖ ۚ وَ مَنْ ضَلَّ فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيْهَا ؕ وَ لَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ؕ وَ مَا كُنَّا مُعَذِّبِيْنَ
حَتّٰى نَبْعَثَ رَسُوْلًا ﴿۱۵﴾

۽ اسان هر انسان جي قسمت (اعمالنامو) سندس ڳچيءَ سان ٻڌي ڇڏيو آهي. ۽ اسان قيامت جي ڏينهن ان لاءِ هڪ ڪتاب ڪڍنداسون، جنهن کي هو کليل ڏسندو. پڙهه پنهنجو ڪتاب. اڄ پنهنجو حساب وٺڻ لاءِ تون پاڻ ئي ڪافي آهين. جيڪو ماڻهو هدايت جي راهه تي هلندو آهي ته هو پنهنجي لاءِ ئي هلندو آهي. ۽ جيڪو ماڻهو ٻي راهه ٿيو سو به پنهنجي نقصان لاءِ ئي ٻي راهه ٿيندو آهي. ۽ ڪو بار کڻندڙ ٻئي جو بار نه کڻندو ۽ اسان ڪڏهن سزا نه ڏيندا آهيون جيستائين اسان ڪنهن رسول کي نه موڪليون. ١٣-١٥

---

قديم زماني ۾ وهم پرست ماڻهو اڪثر پکين جي اڏامڻ سان يا ستارن جي گردش سان يا طرح طرح جا فال ڪڍڻ سان پنهنجي قسمت جو حال معلوم ڪندا هئا. موجوده زماني ۾ جيڪي ماڻهو ان قسم جي وهم تي يقين نه ٿا رکن، اهي به پنهنجي قسمت جي معاملي کي ڪنهن نه ڪنهن پراسرار سبب سان وابسته ڪندا آهن. هو سمجهندا آهن ته ڪا نه ڪا ٻاهرين طاقت آهي جيڪا هن معاملي ۾ اصل مؤثر حيثيت رکي ٿي.

فرمايو ويو ته توهان جي قسمت نه پکين ۽ نه ستارن سان وابسته آهي ۽ نه ڪنهن ٻي ٻاهرين شيءِ سان ان جو تعلق آهي. هر ماڻهوءَ جي قسمت جو معاملو سڄي جو سڄو ان جي پنهنجي عمل تي منحصر آهي. هر ماڻهو جيڪو ڪجهه سوچيندو يا ڪندو آهي، اُهو ان جي پنهنجي وجود سان گڏ نقش ٿي رهيو آهي. ماڻهو ان کي قيامت جي ڏينهن هڪ اهڙي دائريءَ جي صورت ۾ لکيل ڏسندو جنهن ۾ هر ننڍي وڏي شيءِ درج هوندي.

خدا قومن جي وچ ۾ رسول موڪليا ۽ ڪتاب نازل ڪيو. خدا ائين ان لاءِ ڪيو ته جيئن ماڻهن کي اچڻ واري سخت ڏينهن کان پهرين ان جي خبر پئجي وڃي. هاڻي اهو هر ماڻهوءَ جو پنهنجو فيصلو آهي ته اچڻ واري زندگيءَ ۾ هو پنهنجو ڪهڙو انجام ڏسڻ چاهي ٿو. هو هدايت جي طريقي تي هلي جنت ۾ پهچڻ چاهي ٿو يا هدايت جي طريقي کي ڇڏي جهنم ۾ ڪِرڻ جو سامان گڏ ڪري رهيو آهي.

وَ اِذَآ اَرَدْنَآ اَنْ نُّهْلِكَ قَرْيَةً اَمَرْنَا مُتْرَفِيْهَا فَفَسَقُوْا فِيْهَا فَحَقَّ عَلَيْهَا الْقَوْلُ فَدَمَّرْنٰهَا
تَدْمِيْرًا ﴿۱۶﴾ وَ كَمْ اَهْلَكْنَا مِنَ الْقُرُوْنِ مِنْۢ بَعْدِ نُوْحٍ ؕ وَ كَفٰى بِرَبِّكَ بِذُنُوْبِ عِبَادِهٖ
خَبِيْرًۢا بَصِيْرًا ﴿۱۷﴾

۽ جڏهن اسان ڪنهن وسنديءَ کي هلاڪ ڪرڻ چاهيون ٿا تہ ان جي خوشحال ماڻهن کي حڪم ڏيندا آهيون،
پوءِ هو ان ۾ نافرماني ڪندا آهن. تڏهن انهن تي ڳالهہ ثابت ٿي ويندي آهي، پوءِ اسان ان بستيءَ کي تباهہ ۽
برباد ڪري ڇڏيندا آهيون. ۽ نوح کانپوءِ اسان ڪيترين ئي قومون هلاڪ ڪري ڇڏيون. ۽ تنهنجو رب ڪافي
آهي پنهنجي ٻانهن جي گناهن کي ڄاڻڻ ۽ ڏسڻ لاءِ. ١٦-١٧

---

ڪنهن قوم جي اصلاح يا ڪنهن قوم جي بگاڙ جو معيار ان قوم جو مالدار طبقو هوندو آهي. اهوئي طبقو سوچڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت جو مالڪ هوندو آهي. اهوئي طبقو پنهنجي وسيلن جي ذريعي ماڻهن تي اثرانداز هئڻ جي طاقت رکندو آهي. اهوئي طبقو ان قابل هوندو آهي جو هو ڪنهن گروهہ يا جماعت مٿان قائد بڻجڻ جي قيمت ادا ڪري سگهي ٿو.

اهوئي سبب آهي جو ڪنهن قوم جي وڏي ۽ مالدار طبقي جي اصلاح پوري قوم جي اصلاح آهي ۽ ڪنهن قوم جي وڏي طبقي جو بگاڙ پوري قوم جو بگاڙ. حضرت نوحؑ جي زماني کان وٺي اڄ تائين جي قومن جو جائزو ورتو وڃي تہ هر هڪ جي تاريخ ان عام اصول جي تصديق ڪندي.

ان ئي عام حڪم ۾ قوم جي انهن ”وڏن“ جو معاملو بہ شامل آهي جيڪي قوم کي پنهنجي قيادت جي شڪارگاهہ بڻائيندا آهن ۽ اهڙي طرح ان جي غلط رهنمائي ڪري ان جي هلاڪت جو سامان ڪندا آهن. اهي قوم کي حقيقت پسنديءَ جي بجاءِ جذباتيت جو درس ڏيندا آهن. ان کي معنيٰ جي بجاءِ لفظن جي طلسم يا جادوءَ ۾ گم ڪندا آهن. ان کي سنجيدگيءَ جي بجاءِ تخيّلات يا تصوّرات جي فضا ۾ وٺي ويندا آهن. اهي ان کي حقيقت جو اعتراف ڪرڻ جي بجاءِ خوش خيالين ۾ جيئڻ سيکاريندا آهن. خلاصو اهو آهي تہ اهي قوم کي خدا جي بجاءِ غيرخدا ڏانهن متوجهہ ڪري ڇڏيندا آهن.

جڏهن ڪنهن قوم تي ان قسم جا رهنما ڇانئجي وڃن تہ اها ان ڳالهہ جي علامت آهي تہ خدا وٽ ان قوم جي هلاڪت جو فيصلو ٿي چڪو آهي. ان قسم جو هر واقعو خدا جي اجازت تحت هوندو آهي ۽ ڪنهن ماڻهوءَ يا قوم جو ڪو عمل خدا کان لڪيل نہ آهي.

مَنۡ كَانَ يُرِيۡدُ الۡعَاجِلَةَ عَجَّلۡنَا لَهٗ فِيۡهَا مَا نَشَآءُ لِمَنۡ نُّرِيۡدُ ثُمَّ جَعَلۡنَا لَهٗ جَهَنَّمَ ۚ يَصۡلٰهَا مَذۡمُوۡمًا مَّدۡحُوۡرًا ﴿١٨﴾ وَ مَنۡ اَرَادَ الۡاٰخِرَةَ وَ سَعٰى لَهَا سَعۡيَهَا وَ هُوَ مؤمن فَاُولٰٓئِكَ كَانَ سَعۡيُهُمۡ مَّشۡكُوۡرًا ﴿١٩﴾

جيڪو ماڻهو دنيا کي چاهيندو هجي، ان کي اسان ان مان ڏئي ڇڏيندا آهيون، جيترو بہ اسان جنهن کي ڏيڻ چاهيون. پوءِ اسان ان جي لاءِ جهنم مقرر ڪري ڇڏيو آهي، هو ان ۾ بدحال ۽ تڙيل ٿي داخل ٿيندو. ۽ جنهن آخرت کي چاهيو ۽ ان لاءِ ڪوشش ڪئي، جيڪا ان جي ڪوشش آهي ۽ اُهو مؤمن هجي تہ اهڙن ماڻهن جي ڪوشش مقبول هوندي. ١٨-١٩

---

موجوده دنيا ۾ ماڻهو ٻن رستن جي وچ ۾ آهي. هڪ جو فائدو نقد ملندو آهي ۽ ٻئي جو فائدو اوڌر. جيڪو ماڻهو پهرين رستي تي هلي ان دنيا (عاجلہ) کي پسند ڪيو ۽ جنهن ماڻهوءَ ٻئي رستي کي اختيار ڪيو، ان آخرت کي پسند ڪيو.

هڪ پاسي ماڻهوءَ جي سامهون مصلحت پرستيءَ جو طريقو آهي، جنهن کي اختيار ڪرڻ سان فوري طور تي عزت ۽ دولت ملندي آهي. ٻئي پاسي حق پرستيءَ جو طريقو آهي جنهن جو فائدو ماڻهوءَ کي موت کانپوءِ واري زندگيءَ ۾ ملندو. ڪنهن سان شڪايت پيدا ٿي وڃي ته هڪ صورت هي آهي ته ان جي باري ۾ دل جي اندر انتقام جي نفسيات پيدا ڪري وٺجي ۽ ان جي خلاف اهو سڀ ڪجھ ڪيو وڃي جيڪو پنهنجي وس ۾ آهي. ان جي ابتڙ ٻي صورت اها آهي ته ان کي معاف ڪري ڇڏجي ۽ ان جي لاءِ دعائون ڪندي سڄي معاملي کي الله جي حوالي ڪري ڇڏجي. اهڙيءَ طرح ماڻهوءَ وٽ جيڪو مال آهي، ان جي خرچ جي هڪ شڪل اها آهي ته ان کي پنهنجي شوق جي تڪميل ۽ پنهنجي عزت کي وڌائڻ جي رستي ۾ لڳايو وڃي. ٻي شڪل اها آهي ته ان کي خدا جي دين لاءِ خرچ ڪيو وڃي.

اهڙيءَ طرح سڀني معاملن ۾ ماڻهوءَ جي سامهون ٻه مختلف طريقا هوندا آهن. هڪ خواهش پرستيءَ جو طريقو ۽ ٻيو خداپرستيءَ جو طريقو. هڪ سامهون جي شين کي اهميت ڏيڻ آهي ۽ ٻيو غيب جي حقيقتن کي اهميت ڏيڻ. هڪ مصلحت پرستيءَ جو انداز آهي ۽ ٻيو اصول پرستيءَ جو انداز. هڪ بي صبريءَ سان ڪري گذرڻ آهي ۽ ٻيو صبر سان اهو ڪرڻ جيڪو ڪرڻ گهرجي.

پهرين طريقي ۾ وقتي فائدو آهي ۽ ان کانپوءِ هميشه جي محرومي آهي. ٻئي طريقي ۾ وقتي نقصان آهي ۽ ان کانپوءِ هميشه جي عزت ۽ ڪاميابي.

ڪُلًّا نُّمِدُّ هٰۤؤُلَآءِ وَ هٰۤؤُلَآءِ مِنْ عَطَآءِ رَبِّكَ ؕ وَ مَا كَانَ عَطَآءُ رَبِّكَ مَحْظُوْرًا ﴿۲۰﴾ اُنْظُرْ كَيْفَ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ؕ وَ لَلْاٰخِرَةُ اَكْبَرُ دَرَجٰتٍ وَّ اَكْبَرُ تَفْضِيْلًا ﴿۲۱﴾

اسان هرهڪ کي تنهنجي رب جي بخشش مان عطا ڪندا آهيون، هنن کي به ۽ هُنن کي به. ۽ تنهنجي رب جي بخشش ڪنهن تي بند نه آهي. ڏس ته اسان اُنهن مان هڪڙي کي ٻئي تي ڪهڙيءَ طرح فضيلت ڏني آهي. ۽ بيشڪ آخرت اڃا به وڏي آهي درجي جي لحاظ کان ۽ فضيلت جي لحاظ کان. ٢٠-٢١

---

دنيا جي ڪاميابي هجي يا آخرت جي ڪاميابي، ٻئي الله جي فراهم ڪيل موقعن ۽ انتظامن کي استعمال ڪرڻ جو ٻيو نالو آهي. جيڪو ماڻهو دنيا جي ڪاميابي حاصل ڪندو آهي، اهو به خدا جي انتظامن مان فائدو ڪڍي ائين ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح جيڪو ماڻهو آخرت کي پنهنجو مقصد بڻائي ان لاءِ به خدا اهڙا انتظام ڪري رکيا آهن جيڪي ان جي آخرت جي سفر کي آسان بڻائڻ وارا آهن.

دنيا ۾ ڪو ماڻهو اڳيان نظر ايندو آهي ۽ ڪو پوئتي. ڪنهن وٽ گهڻو آهي ۽ ڪنهن وٽ گهٽ. هي ان ڳالھ جي علامت آهي ته خدا جي دنيا ۾ موقعن جي ڪا حد نه آهي. دنيا ۾ جيڪو ماڻهو جيترو وڏيڪ عمل ڪندو آهي، اُهو اوترو وڌيڪ ان جو ڦل پائيندو آهي. اهڙيءَ طرح آخرت جي لاءِ جيڪو ماڻهو جيتري گهڻي عمل جو ثبوت ڏيندو، اُهو اُتي اوترو ئي وڌيڪ انعام لهندو. وڌيڪ اهو ته آخرت ۾ ملڻ واري شيءِ هميشه لاءِ هوندي، جڏهن ته دنيا ۾ ملڻ واري شيءِ رڳو ٿوري وقت لاءِ هوندي آهي.

ع ٢ ٢ لَا تَجْعَلْ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَتَقْعُدَ مَذْمُوْمًا مَّخْذُوْلًا ﴿۲۲﴾ وَ قَضٰى رَبُّكَ اَلَّا تَعْبُدُوْۤا اِلَّاۤ

إِيَّاهُ وَبِالْوَالِدَيْنِ إِحْسَانًا ۚ إِمَّا يَبْلُغَنَّ عِنْدَكَ الْكِبَرَ أَحَدُهُمَا أَوْ كِلَاهُمَا فَلَا تَقُلْ لَهُمَا
أُفٍّ وَلَا تَنْهَرْهُمَا وَقُلْ لَهُمَا قَوْلًا كَرِيمًا ﴿٢٣﴾ وَاخْفِضْ لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِّ مِنَ الرَّحْمَةِ وَ
قُلْ رَبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيَانِي صَغِيرًا ﴿٢٤﴾ رَبُّكُمْ أَعْلَمُ بِمَا فِي نُفُوسِكُمْ ۚ إِنْ تَكُونُوا
صَالِحِينَ فَإِنَّهُ كَانَ لِلْأَوَّابِينَ غَفُورًا ﴿٢٥﴾

الله سان گڏ ڪنهن ٻئي کي معبود نہ بڻاءِ نہ تہ ملامت ڪيل ۽ بي يار و مددگار ٿي رهجي ويندين. ۽ تنهنجي رب فيصلو ڪري ڇڏيو آهي تہ اوهان ان کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي عبادت نہ ڪريو ۽ ماءُ پيءُ سان چڱو سلوڪ ڪريو، جيڪڏهن انهن مان هڪ يا ٻئي تنهنجي اڳيان پيري کي پهچي وڃن، تہ انهن کي اُف بہ نہ چئُ ۽ نہ کين جهڙڪ. ۽ انهن سان احترام سان ڳالهاءِ ۽ انهن جي سامهون نرميءَ ۽ عاجزيءَ سان ٻانهون جهڪائي رک. ۽ چئُ اي رب! انهن ٻنهي تي رحم فرماءِ، جيئن تہ انهن مون کي ننڍپڻ ۾ پاليو. توهان جو رب چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو تہ توهان جي دلين ۾ ڇا آهي. جيڪڏهن توهان نيڪ رهندؤ تہ هو توبهہ ڪرڻ وارن کي معاف ڪرڻ وارو آهي.٢٢- ٢٥

---

خدا انسان جو سڀ ڪجهہ آهي. هو ان جو خالق بہ آهي ۽ مالڪ بہ ۽ رازق بہ. پر خدا غيب ۾ آهي. هو پنهنجي پاڻ کي ميڙائڻ لاءِ انسان جي سامهون نہ ٿو اچي. ان جو مطلب اهو آهي تہ هڪ ماڻهو جڏهن خدا جي وڏائي ۽ ان جي مقابلي ۾ پنهنجي عجز جو اقرار ڪندو آهي تہ هو رڳو پنهنجي ارادي تحت ائين ڪندو آهي نہ وري ڪنهن ظاهري دٻاءَ هيٺ.

ان لحاظ کان پوڙهي ماءُ پيءُ جو معاملو بہ پنهنجي نوعيت جي لحاظ کان خدا جي معاملي جهڙو آهي. ڇاڪاڻ تہ پوڙها ماءُ پيءُ پنهنجي اولاد مٿان ڪو مادي زور نٿا رکن. اولاد جڏهن پنهنجي پوڙهي ماءُ پيءُ سان سٺو سلوڪ ڪندو آهي تہ هو پنهنجي آزاد ذهني فيصلي جي تحت ائين ڪندو آهي نہ وري مادي دٻاءَ جي تحت.

موجوده دنيا ۾ ماڻهوءَ جو اصل امتحان اهوئي آهي. هِتي هُن کي حق ۽ انصاف جي رستي تي هلڻو آهي. ان ڪانسواءِ جو ان کي ان لاءِ مجبور ڪيو وڃي. ان کي خود پنهنجي ارادي سان اِهو ڪرڻو آهي جيڪو هو ان وقت ڪري ها، جڏهن تہ خدا ان جي سامهون پنهنجن سڀني طاقتن سان ظاهر ٿي وڃي.

اهو اختيارائو عمل انسان لاءِ وڏو سخت امتحان آهي. پر الله تعاليٰ پنهنجي خاص رحمت سان ان کي انسان لاءِ آسان ڪري ڇڏيو آهي. هو انسان کي وڏي حاڪم وانگر سختيءَ سان نہ ٿو جانچي. ماڻهو جيڪڏهن بنيادي طور تي خدا جو وفادار آهي تہ ان جي ننڍين ننڍين خطائن کي هو نظرانداز ڪري ڇڏيندو آهي. انسان جيڪڏهن غلطي ڪري واپس موٽي اچي تہ هو ان کي معاف ڪري ڇڏيندو آهي، چاهي ان بظاهر ڪيترو ئي وڏو جرم ڪيو هجي.

وَآتِ ذَا الْقُرْبَىٰ حَقَّهُ وَالْمِسْكِينَ وَابْنَ السَّبِيلِ وَلَا تُبَذِّرْ تَبْذِيرًا ﴿٢٦﴾ إِنَّ الْمُبَذِّرِينَ
كَانُوا إِخْوَانَ الشَّيَاطِينِ ۖ وَكَانَ الشَّيْطَانُ لِرَبِّهِ كَفُورًا ﴿٢٧﴾ وَإِمَّا تُعْرِضَنَّ عَنْهُمُ ابْتِغَاءَ
رَحْمَةٍ مِنْ رَبِّكَ تَرْجُوهَا فَقُلْ لَهُمْ قَوْلًا مَيْسُورًا ﴿٢٨﴾

۽ مٽن مائٽن کي انهن جو حق ڏيو ۽ مسڪين کي ۽ مسافر کي ۽ فضول خرچ نہ ڪريو. بيشڪ فضول خرچ ڪرڻ وارا شيطان جا ڀائر آهن ۽ شيطان پنهنجي رب جو وڏو ناشڪرو آهي. ۽ جيڪڏهن تون پنهنجي رب جي فضل جي انتظار ۾ آهين جنهن جي توکي اميد آهي، انهن کان منهن موڙڻو پوي تہ تون انهن سان نرميءَ سان ڳالهاءِ. ٢٦-٢٨

---

هر ماڻهو جيڪو ڪجھ پنهنجي محنت سان ڪمائي ٿو، ان کي هو پاڻ تي خرچ ڪرڻ جو حق رکندو آهي. جيئن تہ شريعت جو حڪم آهي تہ هو فضول خرچيءَ کان بچي. هو پنهنجي مال کي پنهنجي حقيقي ضرورتن ۾ خرچ ڪري، نہ وري فخر ۽ نمائش جي لاءِ.

ٻي ڳالھ اها آهي تہ هر ماڻهوءَ کي گهرجي تہ هو پنهنجي ڪمائيءَ ۾ ٻين ضرورتمندن جو بہ حق سمجهي، چاهي اهي رشتيدار هجن يا ان جا پاڙيسري هجن. مسافر هجن يا حاجتمند هجن.

ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي جو ماڻهو محتاج کي ڏيڻ جي قابل نہ هوندو آهي. ان وقت بہ اِهو حڪم آهي تہ جيڪڏهن توهان مال ڏيڻ جي قابل نہ آهيو تہ پنهنجي ضرورتمند ڀاءُ کي نرم ڳالھ چئو ۽ ان کي معافيءَ جو ڪلمو چئو، چاڪاڻ تہ هو توهان کي هڪ نيڪيءَ جو موقعو ڏيڻ آيو هو، پر توهان ان موقعي کي پنهنجي لاءِ استعمال نہ ڪري سگهيا.

پنهنجي ڪمايل مال کي خدا جي مرضيءَ مطابق خرچ ڪرڻ ۾ اهوئي ماڻهو ڪامياب ٿي سگهي ٿو جيڪو پنهنجي مال کي بي فائده جاين تي ضايع ٿيڻ کان بچائي، نہ تہ ان وٽ مال ئي نہ رهندو، جنهن کي هو خدا جي رستي ۾ ڏي. حقيقت اها آهي تہ فضول خرچي شيطان جو هڪ هٿيار آهي، جنهن جي ذريعي سان هو مال وارن کي ان قابل نہ ٿو رکي جو هو ٻين ضرورتمندن جي سلسلي ۾ پنهنجن ذميدارين کي ادا ڪري سگهي.

وَ لَا تَجۡعَلۡ یَدَکَ مَغۡلُوۡلَۃً اِلٰی عُنُقِکَ وَ لَا تَبۡسُطۡهَا کُلَّ الۡبَسۡطِ فَتَقۡعُدَ مَلُوۡمًا
مَّحۡسُوۡرًا ﴿۲۹﴾ اِنَّ رَبَّکَ یَبۡسُطُ الرِّزۡقَ لِمَنۡ یَّشَآءُ وَ یَقۡدِرُ ؕ اِنَّهٗ کَانَ بِعِبَادِهٖ خَبِیۡرًۢا
ع بَصِیۡرًا ﴿۳۰﴾

۽ نہ ئي پنهنجي هٿ کي ڳچيءَ سان ٻڌي ڇڏ ۽ نہ وري ان کي بلڪل کولي ڇڏ جو تون ملامت ڪيل ۽ عاجز بڻجي رهجي وڃين. بيشڪ تنهنجو رب جنهن کي چاهي ٿو وڌيڪ رزق ڏي ٿو. ۽ جنهن جي لاءِ چاهيندو آهي تنگ ڪري ڇڏيندو آهي. بيشڪ هو پنهنجن ٻانهن کي ڄاڻڻ وارو، ڏسڻ وارو آهي. ٢٩-٣٠

---

اسلام هر معاملي ۾ اعتدال کي پسند ڪندو آهي. زيادتي ۽ ڪمي کان بچي ڪري جيڪو وچٿرائيءَ جو رستو آهي، اهوئي اسلام وٽ بهترين رستو آهي. (خير الامور اوسطها). تنهنڪري اهائي تعليم خرچ جي معاملي ۾ بہ ڏني وئي آهي تہ ماڻهو نہ ائين ڪري جو ايترو بخيل يا ڪنجوس ٿئي، جو هو ماڻهن جي نظرن ۾ ڪري پوي ۽ نہ وري ايترو وڌيڪ خرچ ڪري جو ان کان پوءِ بلڪل خالي هٿ تي ويهي رهي. حديث ۾ ارشاد آهي تہ جنهن وچٿرائي اختيار ڪئي، اهو محتاج نہ ٿيندو. (ما عال من اقتصد)

مال جي سلسلي ۾ بي اعتداليءَ جو ذهن ان ڪري پيدا ٿيندو آهي جو ماڻهوءَ کي اها حقيقت نظر نہ ٿي اچي تہ ڏيڻ وارو خدا آهي. اهوئي پنهنجي مصلحت جي تحت ڪنهن کي گهٽ ڏيندو آهي ۽ ڪنهن کي وڌيڪ. حديث قدسي ۾ آيو آهي تہ منهنجن ٻانهن ۾ ڪو اهڙو آهي جنهن جي لاءِ صرف محتاجي مناسب آهي. جيڪڏهن آئون ان کي غني ڪري ڇڏيان تہ ان جي دين ۾ بگاڙ اچي وڃي ۽ منهنجي ٻانهن مان ڪو اهڙو آهي جنهن جي لاءِ صرف اميري مناسب آهي. جيڪڏهن آئون ان کي فقير بڻائي ڇڏيان تہ ان جي دين ۾ بگاڙ اچي وڃي (ان من عبادي لمن لا يصلحه الا الفقر ولو اغنيته لافسدت عليه دينه. و ان من عبادي لمن لا يصلحه الا الغني ولو افقرته لافسدت عليه دينه)

وَ لَا تَقْتُلُوْۤا اَوْلَادَكُمْ خَشْيَةَ اِمْلَاقٍ ؕ نَحْنُ نَرْزُقُهُمْ وَ اِيَّاكُمْ ؕ اِنَّ قَتْلَهُمْ كَانَ خِطْاً كَبِيْرًا ﴿٣١﴾ وَ لَا تَقْرَبُوا الزِّنٰۤى اِنَّهٗ كَانَ فَاحِشَةً ؕ وَ سَآءَ سَبِيْلًا ﴿٣٢﴾

۽ پنهنجي اولاد کي سڃائيءَ جي ڊپ کان قتل نہ ڪريو. اسان انهن کي بہ رزق ڏيندا آهيون ۽ توهان کي بہ. بيشڪ انهن کي قتل ڪرڻ وڏو گناهہ آهي. ۽ زنا جي ويجهو نہ وڃو. اها بي حيائي آهي ۽ برو رستو آهي. ٣١-٣٢

خدا ئي سڀني جاندارن کي پيدا ڪيو آهي. اهوئي انهن جي رزق جو انتظام ڪندو آهي. اهڙي حالت ۾ ڪنهن انسان کي رزق جي تنگيءَ جو نالو ڏئي هلاڪ ڪرڻ هڪ اهڙو ڪم ڪرڻ آهي، جنهن جو ان سان ڪو تعلق نہ هو. جڏهن رزق جو انتظام خدا جي طرفان ٿي رهيو آهي تہ ڪنهن کي ڪهڙو حق آهي جو هو ڪنهن جي جان کي ان انديشي جي ڪري هلاڪ ڪري جو هو ڪائيندي ڪٿان.

”اسان انهن کي بہ رزق ڏينداسون ۽ توهان کي بہ“. انهن لفظن جي ذريعي انسان جي ذهن کي ان معاملي ۾ تخريب جي بجاءِ تعمير ڏانهن موڙيو ويو آهي. غور ڪيو وڃي تہ جيڪي انسان موجود آهن، اُهي پنهنجو رزق ڪهڙي طرح حاصل ڪري رهيا آهن. هو ان کي خدا جي فراهم ڪيل پيداواري وسيلن تي عمل ڪري حاصل ڪري رهيا آهن. اهوئي طريقو آئنده اچڻ واري نسل جي لاءِ بہ درست آهي. توهان کي گهرجي تہ پيدا ٿيڻ وارن کي خدا جي پيداواري وسيلن ۾ وڌيڪ عمل ڪرڻ تي لڳايو نہ وري خود پيدا ٿيڻ وارن جي آمد کي روڪڻ ۾ لڳي وڃو.

خدا انسانن ۾ جن عملن کي مڪمل طور ختم ڪرڻ چاهي ٿو، انهن ۾ هڪ زنا آهي، ان ڪري فرمايو ”زنا جي ويجهو نہ وڃو“ يعني زنا ايتري وڏي برائي ۽ اهڙي بيحيائي آهي جو ان جي ويجهي وڃڻ کان بہ پرهيز ڪرڻ گهرجي. هتي هن معاملي ۾ رڳو اصولي حڪم ڏنو ويو آهي، ان جا تفصيلي حڪم سورة نور ۾ بيان ڪيا ويا آهن.

وَ لَا تَقْتُلُوا النَّفْسَ الَّتِيْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ ؕ وَ مَنْ قُتِلَ مَظْلُوْمًا فَقَدْ جَعَلْنَا لِوَلِيِّهٖ سُلْطٰنًا فَلَا يُسْرِفْ فِّي الْقَتْلِ ؕ اِنَّهٗ كَانَ مَنْصُوْرًا ﴿٣٣﴾

۽ جنهن جان کي خدا محترم ڪيو آهي، ان کي قتل نہ ڪريو پر حق کان سواءِ. ۽ جيڪو شخص ناحق قتل ڪيو وڃي تہ اسان ان جي وارث کي اختيار ڏنو آهي، تنهنڪري اهو مارڻ ۾ زيادتي نہ ڪري، ان جي مدد ڪئي ويندي. ٣٣

شرعي حق ڪان سواءِ ڪنهن کي قتل ڪرڻ سراسر حرام آهي. جيڪو ماڻهو شرعي جواز ڪانسواءِ قتل ڪيو وڃي، جڻ ته مظلوم کي قتل ڪرڻ آهي. اهڙي حالت ۾ مقتول جي وارثن کي قاتل تي پورو اختيار آهي. اُهي چاهين ته ان کان قصاص وٺن، چاهين ته خون بها وٺي ڇڏي ڏين ۽ چاهين ته بلڪل معاف ڪري ڇڏين. اسلامي قانون مطابق قتلِ جي معاملي ۾ اصل دعويدار مقتول جا وارث آهن نه وري حڪومت. حڪومت جو ڪم صرف اهو آهي جو اُها مقتول جي وارثن جي مرضيءَ کي نافذ ڪرڻ ۾ انهن جي مدد ڪري.

قتل ايترو وڏو جرم آهي جو حديث ۾ ارشاد آهي ته سڄي دنيا جو هليو وڃڻ الله جي نظر ۾ گهٽ آهي، هڪ مؤمن کي ناحق قتل ڪرڻ کان. (لزوال الدنيا عندالله اهون من قتل مسلم). ان جي باوجود مقتول جي وارثن کي اِهو حق نه آهي جو هو قاتل کان بدلو وٺندي ان سان زيادتي ڪن. مثال طور قاتل جا عضوا وڍڻ يا قاتل جي بدلي ان جي ڪنهن ساٿيءَ کي قتل ڪري ڇڏڻ وغيره. مقتول جا وارث جيڪڏهن بدلو وٺڻ ۾ زيادتي ڪن ته هتي حڪومت ان ئي طرح انهن کي روڪي جهڙيءَ طرح اُها انهن جي قصاص جي حق جي معاملي ۾ انهن جي مددگار ٿي هئي.

ان سان اسلامي شريعت جي انهيءَ روح جي خبر پئي ٿي ته ڪو ماڻهو چاهي ڪيترو ئي وڏيڪ مظلوم هجي، جيڪڏهن هو ظالم کان بدلو وٺڻ چاهي ٿو ته هو صرف ظلم جي برابر بدلو وٺي سگهي ٿو. ان کان وڌيڪ ڪابه ڪارروائي ڪرڻ جي اجازت ان کي هرگز نه آهي.

وَ لَا تَقۡرَبُوۡا مَالَ الۡيَتِيۡمِ اِلَّا بِالَّتِيۡ هِيَ اَحۡسَنُ حَتّٰى يَبۡلُغَ اَشُدَّهٗ ۪ وَ اَوۡفُوۡا بِالۡعَهۡدِ ۚ اِنَّ الۡعَهۡدَ كَانَ مَسۡـُٔوۡلًا ﴿۳۴﴾ وَ اَوۡفُوا الۡكَيۡلَ اِذَا كِلۡتُمۡ وَ زِنُوۡا بِالۡقِسۡطَاسِ الۡمُسۡتَقِيۡمِ ؕ ذٰلِكَ خَيۡرٌ وَّ اَحۡسَنُ تَاۡوِيۡلًا ﴿۳۵﴾

۽ توهان يتيم جي مال جي ويجها نه وڃو، پر اهڙي طرح جو بهتر هجي. ايستائين جو هو پنهنجي جواني جي عمر کي پهچي وڃي. ۽ عهد کي پورو ڪريو. بيشڪ عهد جي پڇا ٿيندي. ۽ جڏهن ماپي ڏيو ته پورو ماپيو ۽ صحيح طور سان توري ڏيو. اهو بهتر طريقو آهي ۽ ان جو انجام به سٺو آهي. ٣٤-٣٥

---

نابالغ يتيم جا سرپرست ان جا ويجها مٽ مائٽ هوندا آهن، پر يتيم جو مال ان جي مائٽن جي هٿ ۾ ان وقت تائين جي لاءِ بطور امانت آهي، جيستائين يتيم عاقل ۽ بالغ نه ٿي وڃي. مائٽن کي گهرجي ته هو يتيم جي مال کي هٿ نه لڳائن. اهي رڳو ان وقت ان جو استعمال ڪري سگهن ٿا، جڏهن خود يتيم جي خيرخواهي ۽ ترقيءَ جو تقاضو هجي ۽ يتيم جڏهن پنهنجي نفعي نقصان کي سمجهڻ جي قابل ٿي وڃي ته ان جو مال پوريءَ طرح ان جي حوالي ڪري ڇڏجي.

عهد کي پورو ڪرڻ انساني ڪردار جي صفت آهي. جيڪو ماڻهو هڪ عهد ڪري ۽ پوءِ ان کي پورو نه ڪري، اهو ماڻهن جي ويجهو به ۽ خدا وٽ به بلڪل بي قيمت انسان آهي.

”عهد جو الله وٽ پڇاڻو آهي“. اهي لفظ ٻڌائن ٿا ته جڏهن هڪ ماڻهو ڪنهن ٻي ماڻهوءَ سان عهد ڪندو آهي ته اهو رڳو ٻن انسانن جو باهمي معاملو نه هوندو آهي، بلڪ ان ۾ خدا به ٽئين فريق جي حيثيت سان شريڪ هوندو آهي. ماڻهوءَ کي عهد ٽوڙيندي ڊڄڻ گهرجي ته عهد جو ٻيو فريق صرف هڪ

ڪمزور انسان نہ آھي، بلڪ اھو خدا آھي، جنھن جي پڪڙ کان بچڻ ڪنھن بہ طرح ممڪن نہ آھي.

دنيا ۾ ھر قسم جو ڪاروبار ماپ تور جي بنياد تي قائم آھي. ان سلسلي ۾ حڪم ڏنو ويو تہ ماپ تور بلڪل ٺيڪ رکي وڃي ۽ جيڪا شيءِ ڏني وڃي پوري ماپ تور سان ڏني وڃي.

اھو طريقو ھڪ ئي وقت بہ پھلو رکندو آھي. ھڪ طرف اھو انساني عظمت جي مطابق آھي. ماپ تور ۾ فرق ڪرڻ ڪردار جي پستي آھي، ماپ تور ۾ پورو ڏيڻ ڪردار جي بلندي. ان جو ٻيو عظيم فائدو اھو آھي تہ ان سان ڪاروبار ۾ واڌارو حاصل ٿيندو آھي، ڇاڪاڻ تہ ڪاروبار جي ترقيءَ جو سڄو بنياد اعتماد تي آھي. ماپ ۽ تور جو صحيح ڏيڻ اُھا شيءِ آھي، جنھن سان ڪنھن ماڻھوءَ جو ڪاروباري اعتماد ماڻھن ۾ قائم ٿيندو آھي.

وَ لَا تَقۡفُ مَا لَيۡسَ لَكَ بِهٖ عِلۡمٌ ؕ اِنَّ السَّمۡعَ وَ الۡبَصَرَ وَ الۡفُؤَادَ كُلُّ اُولٰٓئِكَ كَانَ عَنۡهُ مَسۡـُٔوۡلًا ﴿۳۶﴾ وَ لَا تَمۡشِ فِي الۡاَرۡضِ مَرَحًا ۚ اِنَّكَ لَنۡ تَخۡرِقَ الۡاَرۡضَ وَ لَنۡ تَبۡلُغَ الۡجِبَالَ طُوۡلًا ﴿۳۷﴾ كُلُّ ذٰلِكَ كَانَ سَيِّئُهٗ عِنۡدَ رَبِّكَ مَكۡرُوۡهًا ﴿۳۸﴾

۽ اھڙي شيءِ جي پويان نہ لڳ جنھن جي توکي خبر نہ آھي. بيشڪ ڪن ۽ اک ۽ دل سيني جي ماڻھوءَ کان پڇا ٿيندي. ۽ زمين ۾ آڪڙجي نہ ھل، تون زمين کي چيري نہ سگھندين ۽ نہ تون جبلن جي بلنديءَ کي پھچي سگھندين. اھي سيئي برا ڪم تنھنجي رب وٽ ناپسند آھن. ٣٦-٣٨

---

قتادہ چيو آھي تہ ”مون ڏٺو“ نہ چئو، جڏھن تہ توھان ڏٺو نہ ھجي. ”مون ٻڌو“ نہ چئو، جڏھن تہ توھان ٻڌو نہ ھجي. ”آئون ڄاڻان ٿو“ نہ چئو، جڏھن تہ توھان کي خبر نہ ھجي. (لا تقل رايت ولم تر وسمعتُ ولم تسمع و علمتُ ولم تعلم).

جنھن ماڻھوءَ کي ان ڳالھ جو ڊپ ھجي تہ خدا وٽ ھر ڳالھ جي پڇا ٿيندي تہ ھو ڪڏھن بہ تحقيق کانسواءِ ڪا ڳالھ پنھنجي زبان مان نہ ڪيندو ۽ نہ اکيون بند ڪري تحقيق کان سواءِ ڪنھن ڳالھ جي پيروي ڪندو. انسان کي گھرجي تہ ھو ڪن، اکين ۽ دماغ کان اھو ڪم وٺي، جنھن لاءِ اُھي ٺاھيا ويا آھن ۽ اُھائي ڳالھ وات مان ڪڍي يا عمل ڪري جيڪا پوري طرح ثابت ٿي چڪي ھجي. ان حڪم ۾ سيئي بي بنياد شيون اچي وڃن. مثال طور ڪوڙي گواھي ڏيڻ، غلط تھمت لڳائڻ، ٻڌل ٻڌايل ڳالھين جي بنياد تي ڪنھن جي پويان پئجي وڃڻ رڳو تعصب جي ڪري ناحق ڳالھ جي حمايت ڪرڻ، اھڙين شين جي پويان لڳڻ، جن کي انسان پنھنجي محدوديت جي ڪري سمجھي نہ ٿو سگھي. ٻڌڻ، ڏسڻ ۽ سوچڻ بظاھر انسان جي قبضي ۾ آھن، پر اھي انسان وٽ بطور امانت آھن. انسان تي لازم آھي تہ ھو انھن شين کي خدا جي مرضيءَ جي مطابق استعمال ڪري، نہ تہ انھن بابت ان کان سخت پڇاڻو ٿيندو.

انسان ھڪ اھڙي زمين تي آھي، جنھن کي ھو چيري نہ ٿو سگھي، ھو اھڙي ماحول ۾ آھي جتي بلند جبل ان جي ھر بلنديءَ جي نفي ڪري رھيا آھن. اھوخدا جي مقابلي ۾انسان جي حيثيت جو ھڪ مثالي اعلان آھي. ان جو تقاضو آھي تہ ماڻھو دنيا ۾ متڪبر بڻجي نہ رھي. ھوعاجزي ۽ نرميءَ جو طريقو اختيار ڪري، نہ وري آڪڙ ۽ سرڪشيءَ جو طريقو.

ذٰلِكَ مِمَّاۤ اَوۡحٰۤى اِلَيۡكَ رَبُّكَ مِنَ الۡحِكۡمَةِ‌ؕ وَ لَا تَجۡعَلۡ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَتُلۡقٰى فِىۡ
جَهَنَّمَ مَلُوۡمًا مَّدۡحُوۡرًا ﴿۳۹﴾

هي اهي ڳالهيون آهن جيڪي تنهنجي رب حڪمت مان توڏانهن وحي ڪيون آهن. ۽ الله سان ٻيو ڪو معبود نہ بڻائجانءِ، نہ تہ تون ملامتي ۽ تڙيل ٿي جهنم ۾ وڌو ويندين. ٣٩

---

مٿين آيتن ۾ جيڪي حڪم ڏنا ويا آهن، انهن کي هتي حڪمت چيوويو آهي. حڪمت جومطلب آهي، ٺوس حقيقت ۽ دانائيءَ جي ڳالهہ. اهي ڳالهيون جيڪي هتي ٻڌايون ويون آهن،اهي زندگيءَ جون محڪم حقيقتون آهن. انهن جي بنياد تي درست زندگي جي تعمير ٿيندي آهي ۽ جيڪو انساني معاشرو انهن کان خالي هجي، ان لاءِ خدا جي دنيا ۾ هلاڪت کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ مقدر نہ آهي. اڄ بہ ۽ اڄ کان پوءِ اچڻ واري زندگيءَ ۾ بہ.

مٿي ذڪر ڪيل نصيحتن جو بيان توحيد سان شروع ٿيو هو (آيت نمبر ٢٢) . پوءِ انهن جو خاتمو بہ توحيد تي ڪيو ويو آهي (آيت نمبر٣٩). اهو ان ڳالهہ ڏانهن اشارو آهي تہ سڀني ڀلاين جو بنياد اهو آهي تہ ماڻهو هڪ خدا کي پنهنجو خدا بڻائي. هوان کان ئي ڊڄي ۽ ان سان ئي محبت ڪري. خدا سان درست تعلق ۾ ئي زندگيءَ جي درستگيءَ جوراز لڪيل آهي. جيڪڏهن خدا سان تعلق درست نہ هجي تہ ڪابہ ٻي شيءِ انساني زندگيءَ جي نظام کي درست نہ ٿي ڪري سگهي. خدا انسان جو آغاز آهي ۽ اهوئي ان جو اختتام بہ.

اَفَاَصۡفٰٮكُمۡ رَبُّكُمۡ بِالۡبَنِيۡنَ وَ اتَّخَذَ مِنَ الۡمَلٰٓـئِكَةِ اِنَاثًا‌ ؕ اِنَّكُمۡ لَتَقُوۡلُوۡنَ قَوۡلًا
عَظِيۡمًا ﴿۴۰﴾ وَلَقَدۡ صَرَّفۡنَا فِىۡ هٰذَا الۡقُرۡاٰنِ لِيَذَّكَّرُوۡا ‌ؕ وَمَا يَزِيۡدُهُمۡ اِلَّا نُفُوۡرًا ﴿۴۱﴾ قُلْ لَّوۡ
كَانَ مَعَهٗۤ اٰلِهَةٌ كَمَا يَقُوۡلُوۡنَ اِذًا لَّابۡتَغَوۡا اِلٰى ذِى الۡعَرۡشِ سَبِيۡلًا ﴿۴۲﴾ سُبۡحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا
يَقُوۡلُوۡنَ عُلُوًّا كَبِيۡرًا ﴿۴۳﴾ تُسَبِّحُ لَهُ السَّمٰوٰتُ السَّبۡعُ وَ الۡاَرۡضُ وَمَنۡ فِيۡهِنَّ‌ ؕ وَاِنۡ مِّنۡ
شَىۡءٍ اِلَّا يُسَبِّحُ بِحَمۡدِهٖ وَلٰـكِنۡ لَّا تَفۡقَهُوۡنَ تَسۡبِيۡحَهُمۡ‌ ؕ اِنَّهٗ كَانَ حَلِيۡمًا غَفُوۡرًا ﴿۴۴﴾

ڇا توهان جي رب توهان کي پٽ چونڊي ڏنا ۽ پنهنجي لاءِ فرشتن مان ڌيئرون بڻايون. بيشڪ توهان وڏي سخت ڳالهہ چئو ٿا. ۽ اسان هن قرآن ۾ طرح طرح سان بيان ڪيو آهي تہ جيئن هو نصيحت حاصل ڪن. پر انهن جي بيزاري وڌندي ئي وڃي ٿي. چؤ جيڪڏهن الله سان ٻيا بہ معبود هجن ها جيئن تہ اهي ماڻهو چوندا آهن تہ هو عرش واري ڏانهن ضرور رستو ڪڍن ها. الله پاڪ ۽ بلند آهي ان کان جيڪي اهي ماڻهو چوندا آهن. ستن آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪو ڪجهہ انهن ۾ آهي، سڀ ان جي پاڪائي بيان ڪندا آهن ۽ ڪا شيءِ اهڙي نہ آهي جيڪا تعريف سان گڏ سندس پاڪائي بيان نہ ڪندي هجي، پر توهان سندن تسبيح کي نہ ٿا سمجهو. بيشڪ هو بردبار بخشڻ وارو آهي. ٤٠-٤٤

---

حقيقت ايتري ڪامل ۽ مڪمل آهي جو جيڪا بہ حقيقت جي خلاف ڳالهہ ان سان منسوب ڪئي

وڃي، اُها يڪدم بي جوڙ رهجي ويندي آهي. ان جو هڪ مثال خدا سان شريڪ بڻائڻ جو معاملو آهي.

مشرڪ ماڻهو پنهنجن فرضي شريڪن کي خدا جي اولاد چوندا آهن، پر اها ڳالهه خود ئي پنهنجي دعويٰ جي ترديد ڪري رهي آهي. جيڪڏهن انهن شريڪن کي مؤنث قرار ڏئي خدا جون ڌيئرون چيو وڃي ته يڪدم اهو اعتراض پيدا ٿيندو آهي ته ڌيئرون خود مشرڪن جي مطابق ڪمزور جنس سان تعلق رکنديون آهن، پوءِ خدا ڪمزور جنس کي پنهنجو شريڪ بنائڻ ڇو پسند ڪيو. ڪهڙي عجيب ڳالهه هوندي جو خدا انسانن کي سندن محبوب اولاد جي حيثيت ۾ پٽ ڏي ۽ پاڻ لاءِ ڌيئرن جو انتخاب ڪري.

ان جي ابتڙ جيڪڏهن انهن شريڪن کي پٽ فرض ڪيو وڃي جيڪي انساني تجربي جي مطابق قوت ۽ طاقت جي علامت آهي،تڏهن به اها ڳالهه سمجهه جي قابل نه آهي، ڇاڪاڻ ته اقتدار هڪ ناقابل تقسيم شيءِ آهي. جڏهن به ڪنهن نظام ۾ هڪ کان وڌيڪ طاقت وارا ۽ صاحب اقتدار هجن ته انهن جي وچ ۾ لازمي طور ڇڪتاڻ شروع ٿي ويندي آهي. انهن مان هرهڪ اهو چاهيندو آهي ته ان کي سڄو اقتدار ملي وڃي. پوءِ جيڪڏهن ڪائنات ۾ هڪ کان وڌيڪ طاقتور هستيون هجن ها، ته انهن جي وچ ۾ ضرور اقتدار جي جنگ شروع ٿي وڃي ها ۽ ڪائنات جي سڄي نظام ۾ خلل ۽ انتشار پيدا ٿي وڃي ها. ڇاڪاڻ ته ڪائنات ۾ ڪو خلل ۽ انتشار نه آهي، ان مان ثابت ٿيو ته هتي ٻيون اهڙيون هستيون به موجود نه آهن جيڪي خدا سان ان جي طاقت ۾ حصيدار هجن.

شريڪن کي جيڪڏهن پٽ چيو وڃي، تڏهن به اها ڳالهه حقيقت سان ٽڪرائي ٿي ۽ ڌيئرون چيو وڃي تڏهن به. حقيقت اها آهي ته ڪائنات پنهنجي پوري وجود سان اهڙي هر تصور کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري رهي آهي، جنهن ۾ خدا جي خدائيءَ ۾ ڪنهن ٻئي کي شريڪ ڪيو وڃي.

وَ اِذَا قَرَاْتَ الْقُرْاٰنَ جَعَلْنَا بَيْنَكَ وَ بَيْنَ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ حِجَابًا مَّسْتُوْرًا﴿٤٥﴾ وَّجَعَلْنَا عَلٰى قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ وَ فِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ؕ وَ اِذَا ذَكَرْتَ رَبَّكَ فِي الْقُرْاٰنِ وَحْدَهٗ وَلَّوْا عَلٰٓى اَدْبَارِهِمْ نُفُوْرًا﴿٤٦﴾

۽ جڏهن تون قرآن پڙهين ٿو ته اسان تنهنجي ۽ انهن ماڻهن جي وچ ۾ هڪ لڪيل پردو حائل ڪري ڇڏيندا آهيون جيڪي آخرت کي نه ٿا مڃين. ۽ اسان سندن دلين تي پردو رکي ڇڏيندا آهيون ته جيئن هو ان کي نه سمجهن ۽ سندن ڪنن ۾ ٻوڙائپ پيدا ڪري ڇڏيندا آهيون ۽ جڏهن تون قرآن ۾ پنهنجي اڪيلي رب جو ذڪر ڪندو آهين ته هو نفرت سان پٺين پير ڦري وڃن ٿا. ٤٥-٤٦

---

هتي هر شيءِ کي "لڪيل پردو" چيو ويو آهي، اهو اصل ۾ نفسياتي پردو آهي. ان مان مراد اها صورتحال آهي، جڏهن ماڻهو خود پنهنجي ذهن ۾ ڪنهن ناحق کي حق جو مقام ڏئي ڇڏيندو آهي. اهڙي ماڻهوءَ جي سامهون جڏهن هڪ اهڙو حق ايندو آهي، جنهن جي مطابق ان جي فرض ڪيل سچائين جي نفي ٿي رهي هجي ته اهڙي خالص دعوت ان لاءِ ناقابل فهم بڻجي ويندي آهي. پنهنجي خاص نفسيات جي ڪري ان جي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته اهڙي دعوت به سچي دعوت ٿي سگهي ٿي، جنهن کي

مجڻ جي صورت ۾ اُها شيءِ باطل قرار ڏني وڃي، جنهن کي اڄ تائين هو مجيل سچائي سمجهي ويٺو هو. هو نئين دعوت جي دليلن جو جواب نہ تہ ڏئي سگهي، پر پنهنجي مخصوص ذهن جي ڪري اهو مڃڻ جي لاءِ بہ تيار نہ ٿو ٿئي تہ هن کي سيني ٻين شين کي ڇڏي ان قطعي صداقت کي مڃي وٺڻ کپي.

خالص صداقت جو اعلان هميشہ ٻين فرضي صداقتن جي نفي هوندو آهي. ان ڪري ان کي ٻڌي ٻيا ماڻهو ڪاوڙجي پوندا آهن جيڪي ان کان سواءِ ٻين شين يا شخصيتن کي بہ عظمت ۽ تقدس جو مقام ڏئي ويٺا هوندا آهن. انهن کي آخرت ۾ پڇاڻي جو يقين نہ هئڻ، انهن کي غيرسنجيده بڻائي ڇڏيندو آهي ۽ غيرسنجيده ذهن سان ڪا ڳالهہ سمجهي نہ ٿي سگهجي.

نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَا يَسْتَمِعُوْنَ بِهٖٓ اِذْ يَسْتَمِعُوْنَ اِلَيْكَ وَاِذْ هُمْ نَجْوٰٓى اِذْ يَقُوْلُ الظّٰلِمُوْنَ
اِنْ تَتَّبِعُوْنَ اِلَّا رَجُلًا مَّسْحُوْرًا ﴿٤٧﴾ اُنْظُرْ كَيْفَ ضَرَبُوْا لَكَ الْاَمْثَالَ فَضَلُّوْا فَلَا
يَسْتَطِيْعُوْنَ سَبِيْلًا ﴿٤٨﴾

۽ اسان ڄاڻون ٿا تہ جڏهن اهي توڏانهن ڪن ڏين ٿا تہ اُهي ڇالاءِ ٻڌن ٿا ۽ جڏهن تہ هو پاڻ ۾ ڳجهيون صلاحون ڪن ٿا. اهي ظالم چوندا آهن تہ توهان ماڻهو تہ رڳو هڪ جادو ڪيل شخص جي پويان هلي رهيا آهيو. ڏس تہ هو تولاءِ ڪهڙا ڪهڙا مثال ڏئي رهيا آهن. اهي ماڻهو گمراهہ ٿي ويا، اهي واٽ لهي نہ سگهندا. ٤٧-٤٨

---

رسول اللهﷺ جي دعوت ۾ دليلن جو زور ايترو گهڻو هو جو عرب جا عام ماڻهو ان مان متاثر ٿيڻ لڳا. اهو ڏسي اتي جي سردارن کي خطرو محسوس ٿيو تہ جيڪڏهن انهن ماڻهن وڏي تعداد ۾ نئين دين کي قبول ڪري ورتو تہ اسان جي سرداري ختم ٿي ويندي. انهن ماڻهن کي ان کان روڪڻ لاءِ هڪ تدبير ڪئي. انهن چيو تہ هن شخص جي ڪلام ۾ توهان جيڪو زور ڏسي رهيا آهيو، اهو اصل ۾ ڪلام ۾ سحر جو زور آهي. اهو ”ادب“ جو معاملو آهي نہ وري صداقت جو معاملو. اهڙيءَ طرح انهن ائين ڪيو تہ جنهن ڪلام جي عظمت ۾ ماڻهو صداقت جي جهلڪ ڏسي رهيا هئا، ان کي ماڻهن جي نظر ۾ ”جادو“ جي هم معنيٰ بڻائي ڇڏيو.

جيڪي ماڻهو ڪنهن دعوت کي ان جي جوهر جي بنياد تي نہ ڏسن، بلڪ ان لحاظ کان ڏسن تہ اها سندن حيثيت جي تصديق ڪري ٿي يا ترديد، اهڙا ماڻهو ڪڏهن بہ صداقت کي پائڻ ۾ ڪامياب نہ ٿا ٿي سگهن.

وَ قَالُوْٓا ءَاِذَا كُنَّا عِظَامًا وَّ رُفَاتًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ خَلْقًا جَدِيْدًا ﴿٤٩﴾ قُلْ كُوْنُوْا حِجَارَةً اَوْ
حَدِيْدًا ﴿٥٠﴾ اَوْ خَلْقًا مِّمَّا يَكْبُرُ فِيْ صُدُوْرِكُمْ ۚ فَسَيَقُوْلُوْنَ مَنْ يُّعِيْدُنَا ؕ قُلِ الَّذِيْ
فَطَرَكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ ۚ فَسَيُنْغِضُوْنَ اِلَيْكَ رُءُوْسَهُمْ وَ يَقُوْلُوْنَ مَتٰى هُوَ ؕ قُلْ عَسٰٓى اَنْ
ع ١٢ ٥ يَّكُوْنَ قَرِيْبًا ﴿٥١﴾ يَوْمَ يَدْعُوْكُمْ فَتَسْتَجِيْبُوْنَ بِحَمْدِهٖ وَ تَظُنُّوْنَ اِنْ لَّبِثْتُمْ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٥٢﴾

۽ اهي چوندا آهن تہ ڇا جڏهن اسان هڏا ۽ ذرا ذرا ٿي وينداسون تہ ڇا اسان نئين سر اٿاريا ويندا سون. چئو تہ توهان پٿر يا لوهہ ٿي وڃو يا ڪا ٻي شيءِ جيڪا توهان جي خيال ۾ ان ڪان بہ وڌيڪ مشڪل هجي. پوءِ هو چوندا تہ اهو ڪير آهي جيڪو اسان کي ٻيهر زندهہ ڪندو. تون چئو تہ اهوئي جنهن توهان کي پهرين ڀيري پيدا ڪيو آهي. پوءِ هو تنهنجي اڳيان پنهنجو مٿو لوڏيندا ۽ چوندا تہ ائين ڪڏهن ٿيندو، چئو تہ عجب نہ آهي تہ ان جو وقت قريب اچي ويو هجي، جنهن ڏينهن خدا توهان کي سڏيندو تہ توهان ان جي حمد ڪندي ان جي سڏ تي هليا ايندؤ ۽ توهان خيال ڪندؤ تہ توهان تمام ٿورو وقت ئي رهيا هئا. ٤٩-٥٢

---

انسان جو پهريون دفعو وجود ۾ اچڻ ان جي ٻيهر وجود ۾ اچڻ کي ممڪن ثابت ڪندو آهي. جيڪو ماڻهو انسان جي پهرين پيدائش کي حقيقت طور مڃيندو هجي، ان وٽ ڪو حقيقي دليل نہ آهي جنهن سان هو انسان جي ٻيهر پيدائش جي امڪان کي نہ مڃي.

پوءِ اها انسان جي ٻيهر پيدائش گهٽ ۾ گهٽ انهن ماڻهن لاءِ هرگز سمجهڻ دشوار نہ آهي جيڪي انسان کي پٿر ۽ لوهہ (ٻين لفظن ۾ مادي شين جو مجموعو) سمجهندا آهن. ڇاڪاڻ تہ جسم جي خلين (cells) جي ٽٽڻ سان هن ئي دنيا ۾ اهو واقعو ٿي رهيو آهي تہ ماڻهوءَ جو مادي وجود مسلسل ختم ٿيندو آهي ۽ پوءِ ٻيهر بڻجي ٿو. حقيقت اها آهي تہ حشر جي ڏينهن وري زندهہ ٿي اٿڻ ان ئي واقعي کي موت ڪان پوءِ مڃڻ آهي، جنهن جو موت کان پهرين اسان بار بار تجربو ڪري رهيا آهيون.

قيامت اصل ۾ ان ڏينهن جو نالو آهي، جڏهن غيب جو پردو ڪڄندو ۽ خدا پنهنجن سڀني طاقتن سان بلڪل سامهون اچي وڃي. جڏهن ائين ٿيندو تہ منڪر بہ اهوئي ڪرڻ تي مجبور هوندو جيڪو اڄ رڳو سچو مؤمن ڪري سگهي ٿو. ان وقت سڀئي ماڻهو خدا جي ڪمال جو اقرار ڪندي ان ڏانهن ڊوڙي پوندا.

وَ قُلْ لِّعِبَادِيْ يَقُوْلُوا الَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ ؕ اِنَّ الشَّيْطٰنَ يَنْزَغُ بَيْنَهُمْ ؕ اِنَّ الشَّيْطٰنَ كَانَ لِلْاِنْسَانِ عَدُوًّا مُّبِيْنًا ﴿٥٣﴾

۽ منهنجن ٻانهن کي چئو تہ اُهائي ڳالهہ چون جيڪا بهتر هجي. شيطان انهن جي وچ ۾ فساد وجهندو آهي. بيشڪ شيطان انسان جو پڌرو دشمن آهي. ٥٣

---

هيءَ آيت داعي ۽ مدعو جي نازڪ رشتي جي باري ۾ آهي. حڪم ڏنو ويو آهي تہ مدعو طرفان چاهي ڪيتري ئي سخت ڳالهہ چئي وڃي ۽ ڪيتروئي اشتعال انگيز معاملو ڪيو وڃي، داعي کي هر حال ۾ احسن قول جو پابند رهڻو آهي. ڇاڪاڻ تہ داعي جيڪڏهن جوابي ذهن جي تحت ڪارروائي ڪندو تہ مدعو جي اندر وڌيڪ نفرت ۽ ضد جي نفسيات پيدا ٿيندي ۽ داعي ۽ مدعو جي وچ ۾ اهڙي ڇڪتاڻ پيدا ٿيندي جو ماڻهو داعيءَ جي ڳالهہ کي ٿڌي ذهن سان ٻڌڻ جي قابل ئي نہ رهندا.

داعي ۽ مدعو جي اندر ضد ۽ نفرت جي فضا پيدا ٿيڻ سراسر شيطان جي فائدي ۾ آهي تہ جيئن هوحق جي پيغام کي ماڻهن لاءِ ناقابل قبول بڻائي ڇڏي، ان ڪري جيڪڏهن داعي پنهنجي ڪنهن عمل سان مدعو جي اندر ضد ۽ نفرت جي نفسيات جاڳائڻ لڳي تہ ڄڻ تہ ان شيطان جو ڪم ڪيو. ان پنهنجي دشمن جوڪم پاڻ پنهنجي هٿان انجام ڏئي ڇڏيو.

رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِكُمْ ۗ اِنْ يَّشَاْ يَرْحَمْكُمْ اَوْ اِنْ يَّشَاْ يُعَذِّبْكُمْ ۗ وَ مَاۤ اَرْسَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ وَكِيْلًا ۝٥٤ وَ رَبُّكَ اَعْلَمُ بِمَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ۗ وَ لَقَدْ فَضَّلْنَا بَعْضَ النَّبِيّٖنَ عَلٰى بَعْضٍ وَّ اٰتَيْنَا دَاوٗدَ زَبُوْرًا ۝٥٥

توهان جو رب توهان کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو. جيڪڏهن هو چاهي ته توهان تي رحم ڪري يا جيڪڏهن هو چاهي ته توهان کي عذاب ڏي ۽ اسان توکي انهن جو ذميدار بڻائي نه موڪليو آهي. ۽ تنهنجو رب خوب ڄاڻي ٿو انهن کي جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن ۽ اسان نبين مان ڪِن کي ڪِن تي فضيلت ڏني آهي ۽ اسان دائود کي زبور ڏنو. ٥٤-٥٥

---

هڪ ماڻهو سچي دين جي دعوت ڏي ۽ ٻيو ماڻهو ان کي نه مڃي ته داعيءَ جي اندر ڪاوڙ پيدا ٿي ويندي آهي ته هي کهڙو ماڻهو آهي جو پڌري سچائيءَ کي مڃڻ لاءِ تيار نه آهي. ڪڏهن ڳالهه اجا اڳيان وڌي ويندي آهي ۽ هو اعلان ڪري ڇڏيندو آهي ته هي ماڻهو جهنمي آهي. اهڙي قسم جو ڪلام داعيءَ لاءِ ڪنهن به حال ۾ جائز نه آهي.

هڪ آهي حق جو پيغام پهچائڻ ۽ ٻيو آهي پيغام جي ردعمل جي مطابق هرهڪ کي ان جو بدلو ڏيڻ. پهريون ڪم داعيءَ جو آهي ۽ ٻيو ڪم خدا جو. داعيءَ کي ڪڏهن به اها غلطي نه ڪرڻ کپي ته هو پنهنجي دائري مان گذري خدا جي دائري ۾ داخل ٿي وڃي.

اهڙيءَ طرح ڪڏهن ائين ٿيندو آهي ته داعي ۽ مدعو جي وچ ۾ پنهنجن پنهنجن پيشوائن جي فضيلت جو بحث شروع ٿي ويندو آهي. هرهڪ پنهنجي پيشوا کي ٻئي کان اعليٰ ۽ افضل ثابت ڪرڻ ۾ لڳي ويندو آهي، ان جو نتيجو اهو ٿيندو آهي ته جيڪو بحث اصول جي دائري ۾ رهڻ گهرجي، اهو شخصيت جي دائري ۾ داخل ٿي ويندو آهي ۽ تعصب کي جاڳائي حق کي قبول ڪرڻ جي راهه ۾ وڏيڪ رڪاوٽ پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجي ويندو آهي. ان سلسلي ۾ فرمايو ويو ته اهو خدا جو معاملو آهي جو هو ڪنهن کي ڪهڙو درجو ڏي ٿو. توهان کي گهرجي ته اهڙي قسم جي بحث کان بچندي اصل پيغام کي پهچائڻ ۾ لڳي وڃو.

قُلِ ادْعُوا الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ فَلَا يَمْلِكُوْنَ كَشْفَ الضُّرِّ عَنْكُمْ وَ لَا تَحْوِيْلًا ۝٥٦ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ يَبْتَغُوْنَ اِلٰى رَبِّهِمُ الْوَسِيْلَةَ اَيُّهُمْ اَقْرَبُ وَ يَرْجُوْنَ رَحْمَتَهٗ وَ يَخَافُوْنَ عَذَابَهٗ ۗ اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ كَانَ مَحْذُوْرًا ۝٥٧

چئو ته انهن کي سڏيو جن کي توهان خدا کان سواءِ معبود سمجهي رکيو آهي. اُهي نه توهان کان ڪنهن مصيبت کي پري ڪرڻ جو اختيار رکندا آهن ۽ نه ان کي بدلائي سگهن ٿا. جن کي اهي ماڻهوسڏيندا آهن اُهي پاڻ پنهنجي رب جو قرب ڳوليندا آهن ته انهن مان ڪير سڀني کان گهڻو ويجهو ٿي وڃي ۽ اهي پنهنجي رب جي رحمت جا اميدوار آهن ۽ اُهي ان جي عذاب کان ڊڄندا آهن. بيشڪ تنهنجي رب جو عذاب ڊڄڻ واري شيءِ ئي آهي. ٥٦-٥٧

---

انسان جن هستين کي الله ڪانسواءِ پنهنجو معبود ٺاهي ٿو، اهي سڀ اُهي ئي آهن جيڪي الله جي مخلوق آهن. مثال طور بزرگ يا فرشتا وغيره. غور ڪجي ته اها معبوديت سراسر هڪ طرفي هوندي آهي. انهن هستين خود پنهنجي خدا هئڻ جي دعويٰ نه ڪئي آهي. اهي رڳو ٻيا ماڻهو آهن جيڪي انهن کي معبود فرض ڪري سندن تقدس ۽ تعظيم ۾ لڳل آهن.

جيڪڏهن ڪنهن کي حاضر ڪان غائب تائين ڏسڻ واري نظر حاصل هجي ۽ هو پوري صورتحال تي نظر ڪري ته هو عجيب منظر ڏسندو. هو ڏسندو ته انسان ڪجھ هستين کي خود معبود جو درجو ڏئي انهن جي پرستش ڪري رهيو آهي انهن کان مرادون گهري رهيو آهي. جڏهن ته خود انهن هستين جو اهو حال آهي جو هو الله جي عظمت جي احساس کان خوفزده آهن ۽ ان جي رحمت ۽ قرب جي تلاش ۾ سرگرم آهن.

وَ اِنۡ مِّنۡ قَرۡیَۃٍ اِلَّا نَحۡنُ مُہۡلِکُوۡہَا قَبۡلَ یَوۡمِ الۡقِیٰمَۃِ اَوۡ مُعَذِّبُوۡہَا عَذَابًا شَدِیۡدًا ؕ کَانَ ذٰلِکَ فِی الۡکِتٰبِ مَسۡطُوۡرًا ﴿۵۸﴾

۽ ڪابه اهڙي وسندي نه آهي، جنهن کي اسان قيامت کان پهرين هلاڪ نه ڪريون يا سخت عذاب نه ڏيون. اها ڳالهه ڪتاب ۾ لکيل آهي. ٥٨

---

ماڻهن لاءِ جهڙي طرح فنا جو قانون آهي، اهڙي طرح قومن ۽ بستين لاءِ به فنا جو قانون آهي. ڪا بستي چاهي ڪيتري ئي مضبوط ۽ رونق واري هجي، بهرحال اها هڪ ڏينهن ختم ٿي رهندي. چاهي ان جي صورت اها هجي جو هو پنهنجي گناهه ۽ سرڪشيءَ جي ڪري اڳواٽ هلاڪ ڪئي وڃي يا اها باقي رهي، ايستائين جو آخرت قائم ٿيڻ جو وقت اچي ۽ زمين جي سيني آبادين سان گڏ ان کي به مٽايو وڃي.

وَ مَا مَنَعَنَاۤ اَنۡ نُّرۡسِلَ بِالۡاٰیٰتِ اِلَّاۤ اَنۡ کَذَّبَ بِہَا الۡاَوَّلُوۡنَ ؕ وَ اٰتَیۡنَا ثَمُوۡدَ النَّاقَۃَ مُبۡصِرَۃً فَظَلَمُوۡا بِہَا ؕ وَ مَا نُرۡسِلُ بِالۡاٰیٰتِ اِلَّا تَخۡوِیۡفًا ﴿۵۹﴾

۽ اسان کي نشانيون موڪلڻ کان نه روڪيو پر ان شيءِ ته اڳين انهن کي ڪوڙو ڄاتو هو. ۽ اسان ثمود کي ڏاچي ڏني هئي انهن کي سمجهائڻ لاءِ، پوءِ انهن ان تي ظلم ڪيو ۽ نشانيون اسان رڳو ڊيڄارڻ لاءِ موڪليندا آهيون. ٥٩

---

پيغمبرن سان جيڪي غيرمعمولي واقعا پيش ايندا آهن، اهي ٻن قسمن جا هوندا آهن. هڪ اُهي جيڪي پيغمبر ۽ سندن ساٿين جي نصرت لاءِ هوندا آهن، انهن کي تائيد ۽ حمايت چئبو سگهجي ٿو. ٻيا اهي آهن جيڪي مشرڪن جي مطالبي طور ظاهر ڪيا ويندا آهن. انهن جو اصطلاحي نالو معجزو آهي. پيغمبر آخر الزمان ﷺ ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي اصحابن سان الله جي تائيد ۽ حمايت جا بيشمار واقعا پيش آيا، پر جيستائين فرمائشي نشاني (معجزي) جو تعلق آهي، پاڻ ﷺ جي لاءِ ان کي موڪلڻ منسوخ ڪيو ويو.

ان جو سبب اهو آهي ته هر شيءِ جا ڪجھ تقاضا هوندا آهن جيڪي ماڻهو غيرمعمولي نشانيءَ

جو مطالبو ڪن، انهن مٿان غيرمعمولي ذميداريون بہ عائد ٿينديون آهن. تنهنڪري خدا جو اهو قانون آهي تہ جيڪي ماڻهو غيرمعمولي نشاني يا معجزو ڏسڻ جي باوجود ايمان نہ آڻين تہ انهن تي سخت عذاب موڪلي تباهہ و برباد ڪيو ويندو آهي. جيئن تہ محمدﷺ تي نبوت جو سلسلو ختم ٿيڻ وارو هو، ان ڪري پاڻﷺ جي مخاطب قوم سان ائين نہ پيو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ تہ سڄي تباهيءَ جي صورت ۾ قوم مٽجي وڃي ها. پوءِ پيغمبر ڪانپوءِ پيغمبر جي نمائندگيءَ لاءِ دنيا ۾ ڪير باقي رهي ها.

پيغمبر آخر الزمانﷺ جي مخاطبن سان اها الله جي خاص رحمت هئي جو انهن جي مطالبي جي باوجود انهن کي محسوس معجزا نہ ڏيکاريا ويا. جيڪڏهن ائين ڪيو وڃي ها تہ انديشو هو تہ انهن جو بہ اهوئي سخت انجام ٿئي ها جيڪو انهن کان پهرين ثمود جي قوم جو ٿيو.

وَ اِذۡ قُلۡنَا لَكَ اِنَّ رَبَّكَ اَحَاطَ بِالنَّاسِ ؕ وَ مَا جَعَلۡنَا الرُّءۡيَا الَّتِیۡۤ اَرَيۡنٰكَ اِلَّا فِتۡنَةً لِّلنَّاسِ وَ الشَّجَرَةَ الۡمَلۡعُوۡنَةَ فِی الۡقُرۡاٰنِ ؕ وَ نُخَوِّفُهُمۡ ۙ فَمَا يَزِيۡدُهُمۡ اِلَّا طُغۡيَانًا كَبِيۡرًا ﴿۶۰﴾ ع ٦

۽ جڏهن اسان توکي چيو تہ تنهنجي رب ماڻهن کي گهيري رکيو آهي ۽ اهو نظارو جيڪو اسان توکي ڏيکاريو، اهو رڳو ماڻهن جي آزمائش لاءِ هو . ۽ ان وڻ کي بہ جنهن جي قرآن ۾ مذمت ڪئي وئي آهي ۽ اسان انهن کي ديڄاريندا آهيون، پر سندن سرڪشي وڌندي پئي وڃي. ٦٠

---

ماڻهو خدا جي داعيءَ کان پنهنجي مرضيءَ جي معجزي جو مطالبو ڪندا آهن، حالانڪ جيڪڏهن هو کلي ذهن سان ڏسن تہ داعيءَ جي خاص مدد جي شڪل ۾ اُهو معجزو انهن کي ڏيکاريو ويو آهي، جنهن کي هو ان جي صداقت کي جانچڻ لاءِ ڏسڻ گهرن ٿا.

رسول اللهﷺ جا مخاطب پاڻﷺ کان معجزا گهري رهيا هئا. فرمايو ويو تہ ڇا اهو معجزو توهان جون اکيون کولڻ لاءِ ڪافي نہ آهي تہ دعوت جي ابتدائي دور ۾ جڏهن اُن جي بظاهر ڪا طاقت نہ هئي، پوءِ بہ اهو اعلان ڪيو ويو تہ خدا توهان کي گهيري ورتو آهي (والله من ورائهم محيط). اها اڳڪٿي عرب جي قبيلن ۾ اسلام جي ڦهلجڻ سان پوري ٿي وئي. پوءِ ان جي تڪميل بدرجي فتح ۽ صلح حديبيہ کان پوءِ مڪي جي فتح جي صورت ۾ ٿي.

اهڙيءَ طرح رسول اللهﷺ معراج جي صبح جو جڏهن اهو اعلان ڪيو تہ اڄ رات آئون بيت الحرام کان بيت المقدس تائين ويو هئس تہ ماڻهن کي يقين نہ آيو. ان کان پوءِ اهڙا ماڻهو سڏايا ويا جن جو بيت المقدس ڏٺل هو ۽ انهن جي سامهون پاڻﷺ بيت المقدس جي عمارت جو پورو تفصيل بيان ڪري ڇڏيو.

پر انهن واقعن کي ماڻهن مذاق ۾ ٽاري ڇڏيو، حالانڪ اُهي پاڻﷺ جي صداقت جو معجزاتي ثبوت هئا. حقيقت اها آهي تہ اصل مسئلو معجزو ڏيکارڻ جو نہ آهي، بلڪ دعوت تي سنجيده غور و فڪر جو آهي. جيڪڏهن ماڻهو دعوت جي باري ۾ سنجيده نہ هجن تہ هر شيءِ کي مذاق جي نظر ڪري ڇڏيندا، ڇاهي اها ڳالهہ بذات خود ڪيتري ئي قابل لحاظ ڇو نہ هجي.

قرآن ۾ جڏهن ٻڌايو ويو تہ جهنم ۾ زقوم جو ڪاڏو هوندو (الصافات: ٦٢) تہ روايت ۾ اچي ٿو تہ ابوجهل چيو اسان لاءِ کجور ۽ مکڻ کٽي اچو. جڏهن اهو آندو ويو تہ هو ٻنهي کي ملائي کائڻ لڳو ۽ چيائين تہ توهان ماڻهو بہ کائو. اهوئي زقوم آهي. (قال ابوجهل هاتوا لنا تمرا و زبدا و جعل ياکل من عُذاب هذا و يقول تزقموا فلا نعلم الزقوم غير هذا- تفسير ابن کثير)

اهڙي طرح قرآن ۾ شجره ملعونہ (بني اسرائيل: ٦٠) جو ذکر آهي جيڪو دوزخين جو کاڌو هوندو. جڏهن قرآن ۾ اها آيت نازل ٿي تہ قريش جي هڪ سردار چيو ابوکبشہ جي پٽ کي ڏسو. هو اسان سان اهڙي باهہ جووعدو ڪري ٿو، جيڪا پٿر کي بہ ساڙي ڇڏيندي، پوءِ ان جو گمان آهي تہ ان جي اندر هڪ وڻ پيدا ٿيندو آهي، حالانڪ خبر آهي تہ باهہ ساڙڻ واري شيءِ آهي. (ان ابن ابي کبشة يوعدکم بنار تحرق الحجارة ثم يزعم انها تنبت فيها شجرة وتعلمون ان النار تحرق الشجرة- التفسير المظهري)

وَ اِذۡ قُلۡنَا لِلۡمَلٰٓئِکَةِ اسۡجُدُوۡا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوۡۤا اِلَّاۤ اِبۡلِیۡسَ ؕ قَالَ ءَاَسۡجُدُ لِمَنۡ خَلَقۡتَ طِیۡنًا ﴿ۚ۶۱﴾ قَالَ اَرَءَیۡتَکَ هٰذَا الَّذِیۡ کَرَّمۡتَ عَلَیَّ ۫ لَئِنۡ اَخَّرۡتَنِ اِلٰی یَوۡمِ الۡقِیٰمَةِ لَاَحۡتَنِکَنَّ ذُرِّیَّتَهٗۤ اِلَّا قَلِیۡلًا ﴿۶۲﴾

۽ جڏهن اسان فرشتن کي چيو تہ آدم کي سجدو ڪريو تہ انهن سجدو ڪيو پر ابليس نہ ڪيو. هن چيو ڇا آئون اهڙي شخص کي سجدو ڪريان جنهن کي تو مٽيءَ مان بڻايو آهي. اُن چيو تہ ڏس اهو شخص جنهن کي تو مون تي عزت ڏني آهي، جيڪڏهن تون مون کي قيامت جي ڏينهن تائين مهلت ڏين تہ آئون ٿورن ماڻهن کان سواءِ ان جي سڄي اولاد جون پاڙون پٽي ڇڏيندس. ٦١-٦٢

---

فرشتن ۽ ابليس جو قصو ٻڌائي ٿو تہ مڃڻ وارا ڪهڙا هوندا آهن ۽ نہ مڃڻ وارا ڪهڙا. مڃڻ وارا ماڻهو حق کي حق جي لحاظ کان ڏسندا آهن، تنهنڪري انهن کي سمجهڻ ۾ دير نہ ٿي لڳي. هو يڪدم ان کي سمجهي مڃي وٺندا آهن. جيئن آدم عليہ السلام جي پيدائش جي وقت فرشتن ڪيو.

ٻيا ماڻهو اُهي آهن جيڪي حق کي پنهنجي ذات جي نسبت سان ڏسندا آهن. شيطان ائين ئي ڪيو. اُن حق کي پنهنجي ذات جي نسبت سان ڏٺو، ڇاڪاڻ تہ آدم عليہ السلام کي سجدي جو حڪم آدم عليہ السلام کي بظاهر وڏو بڻائي رهيو هو ۽ شيطان کي ننڍو، ان اهڙي حق کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، جنهن کي مڃڻ ڪانپوءِ ان جي پنهنجي ذات ننڍي ٿي وڃي.

شيطان خدا کي جيڪو چئلينج ڪيو هو، ان کي سامهون رکي ڏسجي تہ هر اهو ماڻهو شيطان جو شڪار نظر ايندو جيڪو حق کي ان ڪري نظرانداز ڪري ڇڏي تہ ان کي مڃڻ جي صورت ۾ ان جي پنهنجي ذات ٻين جي مقابلي ۾ ننڍي ٿي ويندي آهي.

قَالَ اذۡهَبۡ فَمَنۡ تَبِعَکَ مِنۡهُمۡ فَاِنَّ جَهَنَّمَ جَزَآؤُکُمۡ جَزَآءً مَّوۡفُوۡرًا ﴿۶۳﴾ وَ اسۡتَفۡزِزۡ مَنِ اسۡتَطَعۡتَ مِنۡهُمۡ بِصَوۡتِکَ وَ اَجۡلِبۡ عَلَیۡهِمۡ بِخَیۡلِکَ وَ رَجِلِکَ وَ شَارِکۡهُمۡ فِی الۡاَمۡوَالِ وَ الۡاَوۡلَادِ وَعِدۡهُمۡ ؕ وَ مَا یَعِدُهُمُ الشَّیۡطٰنُ اِلَّا غُرُوۡرًا ﴿۶۴﴾ اِنَّ عِبَادِیۡ لَیۡسَ لَکَ

عَلَيۡهِمۡ سُلۡطٰنٌ ؕ وَ كَفٰى بِرَبِّكَ وَكِيۡلًا ﴿٦٥﴾

خدا چيو تہ وڃ، انهن مان جيڪو بہ تنهنجو ساٿي بڻيو تہ جهنم توهان سڀني جو پورو پورو بدلو آهي ۽ انهن مان جنهن تي تنهنجو وس هلي، تون پنهنجي آواز سان انهن جا قدم اکيڙ ۽ انهن تي پنهنجي پيادن خواه سوارن کي چاڙهہ ۽ انهن جي مال ۽ اولاد ۾ انهن جو شريڪ بڻجي وڃ ۽ انهن سان وعدو ڪر ۽ شيطان جو وعدو هڪ دوکي کانسواءِ ڪجھ نہ آهي. بيشڪ جيڪي منهنجا ٻانها آهن، انهن تي تنهنجو زور نہ هلندو ۽ تنهنجو رب ڪارسازيءَ لاءِ ڪافي آهي. ٦٣-٦٥

”انسانن مان جيڪو ماڻهو شيطان جي راهہ تي هلندو“. اهي لفظ ٻڌائين ٿا تہ موجوده دنيا ۾ انسان کي آزادي حاصل آهي تہ هو چاهي شيطان جي رستي تي هلي يا خدا جي ٻڌايل رستي تي. ان ئي آزاديءَ جي استعمال ۾ انسان جو اصل امتحان آهي. هتي ئي ڪامياب ٿي ڪري هو يا تہ خدا جو انعام پائيندو آهي يا ناڪام ٿي شيطان جي انجام جو مستحق بڻجي ويندو آهي.

شيطان کي هن دنيا ۾ آزادي حاصل آهي تہ هو انسان کي پنهنجو ساٿي بڻائي. هو ان تي پنهنجي سڄي ڪوشش استعمال ڪري. هو ان جي مال ۽ اولاد ۾ شامل ٿي وڃي، پر شيطان کي ڪنهن بہ درجي ۾ انسان تي ڪو اختيار نہ ڏنو ويو آهي. شيطان جي وس ۾ رڳو اهو آهي تہ هو آواز ۽ لفظن جي ذريعي ماڻهن کي ورغلائي. هو بي حقيقت شين کي خوشنما بڻائي انهن کي عظيم حقيقت جي روپ ۾ پيش ڪري.

آيت ۾ ”ليس لک عليهم سلطان“ جا لفظ ٻڌائين ٿا تہ اهو امڪان آهي تہ شيطان انسان جي مقابلي ۾ وڌيڪ طاقتور آهي. پوءِ هڪ اهڙي دنيا جتي شيطان پنهنجن سڀني ”سوارن ۽ پيادن“ جي ذريعي انسان تي حملو ڪري، اتي ان کان بچڻ جو رستو ڪهڙو آهي. ان جو رستو صرف اِهو آهي تہ انسان خدا کي حقيقي معنيٰ ۾ پنهنجو ڪارساز بڻائي جيڪو ماڻهو ائين ڪندو تہ خدا ان کي اهڙيءَ طرح پنهنجي حفاظت ۾ وٺندو، جوشيطان ان جي مقابلي ۾ پنهنجن سڀني طاقتن جي باوجود عاجز ٿي ويندو.

رَبُّكُمُ الَّذِىۡ يُزۡجِىۡ لَـكُمُ الۡـفُلۡكَ فِى الۡبَحۡرِ لِتَبۡتَغُوۡا مِنۡ فَضۡلِهٖ ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِكُمۡ رَحِيۡمًا ﴿٦٦﴾
وَ اِذَا مَسَّكُمُ الضُّرُّ فِى الۡبَحۡرِ ضَلَّ مَنۡ تَدۡعُوۡنَ اِلَّاۤ اِيَّاهُ ۚ فَلَمَّا نَجّٰٮكُمۡ اِلَى الۡبَرِّ
اَعۡرَضۡتُمۡ ؕ وَكَانَ الۡاِنۡسَانُ كَفُوۡرًا ﴿٦٧﴾

توهان جو رب اهو آهي جيڪو توهان لاءِ سمنڊ ۾ ٻيڙي هلائي ٿو تہ جيئن توهان ان جو فضل تلاش ڪريو. بيشڪ هو توهان تي مهربان آهي. ۽ جڏهن سمنڊ ۾توهان تي ڪا آفت ايندي آهي تہ توهان انهن معبودن کي وساري ٿا ڇڏيو جن کي توهان الله کانسواءِ پڪاريندا آهيو. پوءِ جڏهن هو توهان کي خشڪي ڏانهن بچائي آڻيندو آهي تہ توهان ڦير ڦري ويندا آهيو، ۽ انسان وڏو بي شڪرو آهي. ٦٦-٦٧

خدا موجوده دنيا کي خاص قانون جو پابند بڻائي رکيو آهي، ان سبب جي ڪري انسان جي لاءِ اهو ممڪن هوندو آهي تہ هوسمنڊ ۾ پنهنجو جهاز هلائي ۽ هوا ۾ پنهنجون سواريون اڏائي. اهو سڀ ان ڪري هو جو انسان پنهنجي حق ۾ پنهنجي خدا جي رحمتن کي سڃاڻي ۽ ان جو شڪرگذار ٿئي، پر

انسان جو حال اهو آهي جو هو جيڪو ڪجهه ٿيندي ڏسندو آهي ته هو سمجهي ٿو ته ان ڪي بس ائين ئي هئڻ ڪپي. هو هڪ ارادي سان ڪيل واقعي کي پنهنجي پاڻ تي وجھ وارو واقعو فرض ڪري وٺندو آهي. اهوئي سبب آهي جو انهن واقعن کي ڏسي ان جي اندر ڪو خدائي احساس نه ٿو جاڳي.

خدا جي معرفت ايتري حقيقي آهي جو هو انسان جي فطرت جي اندر آخري گهرائيءَ تائين لهي وئي آهي. ان جو هڪ مظاهرو ان وقت ٿيندو آهي، جڏهن انسان تي ڪا آفت اچي، جنهن جي مقابلي ۾ هو پنهنجي پاڻ کي بيوس محسوس ڪري. مثال طور گهري سمنڊ ۾ طوفان جو اچڻ ۽ جهاز جو ان ۾ ڦاسي وڃڻ. اهڙي وقت ۾ انسان مٿان اهي سيئي مصنوعي پردا هٽي ٿا وڃن ۽ هو هڪ خدا کي سڃاڻي ان کي پڪارڻ لڳندو آهي. اهو وقتي تجربو انسان کي ان لاءِ ڪرايو ويندو آهي ته جيئن هو پنهنجي پوري زندگيءَ کي ان مطابق تبديل ڪري وٺي. هو وقتي اعتراف کي پنهنجو مستقل ايمان بڻائي وٺي، پر انسان جو اهو حال آهي ته سمنڊ جي طوفان ۾ هو جنهن حقيقت کي ياد ڪري ٿو، خشڪيءَ جي ماحول ۾ پهچندي ئي هو ان کي وساري ٿو ڇڏي.

خدا جي خدائيءَ کي مڃڻ جو نالو ”توحيد“ آهي ۽ خدا جي خدائيءَ کي نه مڃڻ جو نالو شرڪ. ان لحاظ کان توحيد جي اصل حقيقت اعتراف آهي ۽ شرڪ جي اصل حقيقت اعتراف کان انڪار. انسان کان سندس خدا کي جيڪا شيءِ گهربل آهي، اُهو اهوئي اعتراف آهي، پر انسان ايڏو ظالم آهي جو هو اعتراف جيترو به خدا جو حق ڏيڻ لاءِ تيار نه ٿو ٿئي.

اَفَاَمِنۡتُمۡ اَنۡ يَّخۡسِفَ بِكُمۡ جَانِبَ الۡبَرِّ اَوۡ يُرۡسِلَ عَلَيۡكُمۡ حَاصِبًا ثُمَّ لَا تَجِدُوۡا لَكُمۡ وَكِيۡلًا ۙ ﴿٦٨﴾ اَمۡ اَمِنۡتُمۡ اَنۡ يُّعِيۡدَكُمۡ فِيۡهِ تَارَةً اُخۡرٰى فَيُرۡسِلَ عَلَيۡكُمۡ قَاصِفًا مِّنَ الرِّيۡحِ فَيُغۡرِقَكُمۡ بِمَا كَفَرۡتُمۡ ۙ ثُمَّ لَا تَجِدُوۡا لَكُمۡ عَلَيۡنَا بِهٖ تَبِيۡعًا ﴿٦٩﴾

ڇا توهان ان کان بي ڊپا ٿي ويا جو خدا توهان کي خشڪيءَ تي آڻي زمين ۾ کپائي ڇڏي يا توهان تي پٿر وسائڻ واري آنڌي موڪلي ڇڏي، پوءِ توهان ڪنهن کي پنهنجو مددگار نه لهو. يا توهان ان کان بي ڊپا ٿي ويا آهيو جو هو توهان کي ٻيهر سمنڊ ۾ وٺي وڃي، پوءِ توهان تي هوا جو سخت طوفان موڪلي ڇڏي ۽ توهان کي توهان جي انڪار سبب غرق ڪري ڇڏي. پوءِ توهان ان تي اسان جي پٺيان پوڻ وارو ڪو نه لهو. ٦٨-٦٩

---

خدا انسان کي ان جي سرڪشيءَ جي باوجود جلد نه ٿو پڪڙي، بلڪ ان تي وقتي مصيبت موڪلي ان کي خبردار ڪندو آهي، پر انسان جو حال اهو آهي ته جڏهن مصيبت ايندي آهي ته وقتي طور تي ان جي اندر احساس جاڳي ٿو، پر مصيبت ٽرندي ئي ان جو احساس به رخصت ٿي ويندو آهي، جيتوڻيڪ پوءِ به هو اوترو ئي خدا جي قبضي ۾ هوندو آهي جيترو هو اڳ ۾ هو.

سمنڊ جي سفر کان جيڪڏهن هڪ ڀيرو هو سلامتيءَ سان واپس پهچي ويو آهي ته پوءِ اهو به ممڪن آهي جو ان کي ٻيهر سمنڊ جو سفر پيش اچي ۽ هو ٻيهر ان ئي آفت ۾ گهيرجي وڃي، جنهن ۾ هو پهرين گهيرجي ويو هو. وڌيڪ اهو ته خشڪيءَ تي خطرو سمنڊ جي خطري کان گهٽ نه هوندو آهي. سمنڊ ۾ جيڪا شيءِ طوفان آهي، خشڪيءَ تي اهائي شيءِ زلزلو بڻجي ويندي آهي. پوءِ اها

کھڙي جاءِ آهي جتي ماڻھوءَ کي ڪا اهڙي شيءِ ملي وڃي جيڪا خدا جي مقابلي ۾ ان جي طرفان ان جو دفاع ڪري سگھي.

وَ لَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِيْٓ اٰدَمَ وَ حَمَلْنٰهُمْ فِي الْبَرِّ وَ الْبَحْرِ وَ رَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ وَ فَضَّلْنٰهُمْ عَلٰى كَثِيْرٍ مِّمَّنْ خَلَقْنَا تَفْضِيْلًا ۟ؒ﴿٧٠﴾

۽ اسان آدم جي اولاد کي عزت ڏني ۽ اسان ان کي خشڪي ۽ پاڻيءَ ۾ سوار ڪيو ۽ ان کي پاڪ شين جو رزق ڏنو ۽ اسان پنهنجي مخلوق مان گھڻن کان ڪين زياده مانَ وارو ڪيوسون. ٧٠

---

دنيا جي سڀني مخلوق ۾ انسان کي خاص فضيلت حاصل آهي. چنڊ ۽ ستارا بي شعور مخلوق آهن، جڏهن ته انسان شعور ۽ ارادي جو مالڪ آهي. وڻ ڪي ٻي مخلوق جھڙي طرح چاهي ٿي استعمال ڪري ٿي، پر انسان خود ٻين شين کي استعمال ڪندو آهي. جانور رڳو پنهنجن عضون جي ذريعي عمل ڪندا آهن، پر انسان اوزار ۽ مشينون ٺاهي انهن جي ذريعي پنهنجو مقصد حاصل ڪندو آهي. درياءَ جي لاءِ رڳو اهو ممڪن آهي جو هو لهوارو وهي، پر انسان بلندين تي چڙهندو آهي ۽ پاڻيءَ ۾ ان جي ابتڙ رخ تي سفر ڪرڻ جي طاقت رکندو آهي.

انسان جي لاءِ هن دنيا ۾ رزق جو عظيم انتظام ڪيو ويو آهي. وڻ جا پن سج جي طاقت کي ڪيميائي طاقت ۾ تبديل ڪندا آهن ته جيئن ان سان انسان جي غذا تيار ٿئي. جانور گاهه ڪائيندا آهن ته جيئن ان کي انسان لاءِ کير ۽ گوشت جي شڪل ۾ موٽائين. ماکيءَ جون مکيون رات ڏينهن مصروف رهنديون آهن ته جيئن هو سڄي دنيا جي گلن مان رس چوسي انسان لاءِ ماکيءَ جو ذخيرو جمع ڪن وغيره.

ان انعام جو تقاضو هو ته انسان خدا جو شڪرگذار ٿئي، پر سڀني مخلوق ۾ انسان ئي اُها مخلوق آهي جيڪا سڀني کان گھٽ خدا جو شڪر ادا ڪندي آهي.

يَوْمَ نَدْعُوْا كُلَّ اُنَاسٍ بِاِمَامِهِمْ ۚ فَمَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِيَمِيْنِهٖ فَاُولٰٓئِكَ يَقْرَءُوْنَ كِتٰبَهُمْ وَلَا يُظْلَمُوْنَ فَتِيْلًا ﴿٧١﴾ وَمَنْ كَانَ فِيْ هٰذِهٖٓ اَعْمٰى فَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ اَعْمٰى وَ اَضَلُّ سَبِيْلًا ﴿٧٢﴾

جنهن ڏينهن اسان هر گروهه کي سندن اڳواڻ سان سڏينداسون، پوءِ جنهن جو اعمالنامو ان جي ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو، اُهي ماڻهو پنهنجو اعمالنامو پڙهندا ۽ انهن سان ذرو به ناانصافي نه ڪئي ويندي. ۽ جيڪو ماڻهو هن دنيا ۾ انڌو رهيو، اهو آخرت ۾ به انڌو رهندو ۽ رستي کان گھڻو پري هوندو. ٧١-٧٢

---

دنيا ۾ هر انساني گروهه پنهنجن رهنمائن سان هوندو آهي، تنهنڪري آخرت ۾ به هر گروهه پنهنجي پنهنجي رهنما سان گڏ سڏيو ويندو. سٺا ماڻهو پنهنجي رهنما سان گڏ ۽ برا ماڻهو پنهنجي رهنما سان گڏ.

ان کان پوءِ هرهڪ کي ان جي زندگيءَ جو اعمالنامو ڏنو ويندو. نيڪ ماڻهن کي اعمالنامو

سندن ساڄي هٿ ۾ ۽ برن ماڻهن کي سندن اعمالنامو سندن کاٻي هٿ ۾. اها ڄڻ تہ هڪ علامت هوندي تہ ڀهريون گروهہ خدا جو مقبول گروهہ آهي ۽ ٻيو گروهہ ان جو نامقبول گروهہ.

آخرت ۾ بہ سڻي ۽ بري جي جيڪا تقسيم ٿيندي، اُها اُن بنياد تي هوندي تہ ڪير دنيا ۾ انڌو بڻجي رهيو ۽ ڪير اکين وارو ٿي رهيو. دنيا ۾ ڇاڪاڻ تہ خدا سڌو سنئون انسان سان هم ڪلام نہ ٿيندو آهي، ان ڪري دنيا جي زندگيءَ ۾خدا جي ڳالهين کي ڪائنات جي خاموش نشانين ۽ حق جي داعين جي لفظن ۾ سڃاڻڻو پوندو آهي. جيڪي ماڻهو ان بالواسطہ ڪلام مان معرفت حاصل ڪن، اهي خدا جي نظر ۾ ”اکين وارا“ ماڻهو آهن ۽ جيڪي ماڻهو بالواسطہ ڪلام جي زبان نہ سمجهن ۽ ان وقت جي انتظار ۾ هجن، جڏهن خدا ظاهر ٿي خود ڪلام فرمائيندو تہ اُهي خدا جي نظر ۾ ”انڌا“ ماڻهو آهن. اهڙن ماڻهن کي الله جو براهِ راست ڪلام ٻڌڻ بہ ڪجهہ ڪم نہ ايندو. اهي ان وقت بہ حقيقت کان گهڻو پري رهجي ويندا، جيئن اڄ ان کان پري پيل آهن.

وَ اِنۡ كَادُوۡا لَيَفۡتِنُوۡنَكَ عَنِ الَّذِيۡۤ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡكَ لِتَفۡتَرِيَ عَلَيۡنَا غَيۡرَهٗ ۖ وَ اِذًا لَّاتَّخَذُوۡكَ خَلِيۡلًا ﴿۷۳﴾ وَ لَوۡ لَاۤ اَنۡ ثَبَّتۡنٰكَ لَقَدۡ كِدۡتَّ تَرۡكَنُ اِلَيۡهِمۡ شَيۡـًٔا قَلِيۡلًا ﴿۷۴﴾ اِذًا لَّاَذَقۡنٰكَ ضِعۡفَ الۡحَيٰوةِ وَ ضِعۡفَ الۡمَمَاتِ ثُمَّ لَا تَجِدُ لَكَ عَلَيۡنَا نَصِيۡرًا ﴿۷۵﴾

۽ قريب هو تہ اُهي ماڻهو فتني ۾ وجهي توکي ان کان ڦيرائي ڇڏين جيڪو اسان توتي وحي ڪيو آهي تہ جيئن تون ان کانسواءِ اسان ڏانهن غلط ڳالهہ منسوب ڪرين ۽ تڏهن هو توکي پنهنجو دوست ڪن ها. ۽ جيڪڏهن اسان توکي ثابت قدم نہ رکون ها تہ قريب هو جو تون انهن ڏانهن ڪجهہ مائل ٿي وڃي ها. پوءِ اسان توکي زندگي ۽ موت ٻنهي جو ٻيڻو ”عذاب“ چکايون ها. ان کان پوءِ تون اسان جي مقابلي ۾ ڪو بہ مددگار نہ لهين ها. ٧٣-٧٥

---

مڪي ۾ رسول الله ﷺ جي دعوت جو اصل نقطو اهو هو تہ خدا صرف هڪ آهي ۽ ان کانسواءِ جن بتن کي توهان پوڄيندا آهيو، اهي سڀ باطل آهن. مڪي وارا جيتوڻيڪ هڪ وڏي خدا جو اقرار ڪندا هئا، پر انهيءَ سان گڏ هو ٻين خدائن کي بہ مڃيندا هئا.

اهي ٻيا خدا ڪير هئا، اهي سندن بزرگ ۽ اڪابر هئا جن کي اُهي مقدس سمجهندا هئا ۽ انهن جا بُت ٺاهي انهن جي سامهون جهڪندا هئا. رسول الله ﷺ جي توحيد جي دعوت سان بزرگن جي ان عقيدي تي چوٽ پوندي هئي، تنهن ڪري هو رسول الله ﷺ کي ان ڳالهہ لاءِ چوندا هئا تہ اسان توهان جي معبود کي مڃينداسون، پر شرط اهو آهي تہ توهان اسان جي معبودن کي برو چوڻ ڇڏي ڏيو. (مساومتهم له ان يعبدوا الٰهه مقابل ان يترک التنديد بآلهتهم وما کان عليه آباؤهم - صفوة التفاسير)

هن دنيا ۾ اهو ماڻهو جلد ماڻهن جي نظر ۾ نفرت لائق ٿي ويندو آهي جيڪو اهڙي ڳالهہ چوي جنهن جي چوٽ ماڻهن جي وڏن تي پوندي هجي. ان جي ابتڙ ماڻهن جي وچ ۾ محبوب بڻجڻ جو سيني کان آسان طريقو اهو آهي تہ اهڙي ڳالهہ ڇيڙجي جنهن ۾ سيني ماڻهن جي پنهنجن پنهنجن بزرگن جي تصديق ٿي رهي هجي، پر پيغمبر جو طريقو اهو آهي تہ سچائيءَ جو پڌرو اعلان ڪيو وڃي. ان جي

پرواهہ نہ ڪئي وڃي تہ ڪنهن بزرگ تي ان جي چوٽ پئي ٿئي ۽ ڪنهن تي نہ ٿي پئي.

دعوت جي عمل مان اصل مقصد حقيقت جو ڪامل طور اعلان آهي، ان ڪري اعلان جي معاملي ۾ ڪنهن ڪمي يا رعايت جي اجازت نہ آهي. پيغمبر يا پيغمبر ڪانسواءِ جيڪو بہ حق جي دعوت لاءِ اُٿي، ان کي حقيقت جو پڌرو اعلان ڪرڻو آهي، چاهي ان جي اها قيمت ڏيڻي پوي جو دنيا ۾ان جو ڪو بہ دوست باقي نہ رهي.

وَ اِنۡ كَادُوۡا لَيَسۡتَفِزُّوۡنَكَ مِنَ الۡاَرۡضِ لِيُخۡرِجُوۡكَ مِنۡهَا وَ اِذًا لَّا يَلۡبَثُوۡنَ خِلٰفَكَ اِلَّا قَلِيۡلًا ﴿۷۶﴾ سُنَّةَ مَنۡ قَدۡ اَرۡسَلۡنَا قَبۡلَكَ مِنۡ رُّسُلِنَا وَ لَا تَجِدُ لِسُنَّتِنَا تَحۡوِيۡلًا ﴿۷۷﴾

۽ اهي ماڻهو هن سرزمين تان تنهنجا پير اکيڙڻ لڳا هئا تہ جيئن توکي اُتان ڪڍي ڇڏين ۽ جيڪڏهن ائين ٿئي ها تہ توکان پوءِ انهن کي بہ تمام ٿوري مهلت ملي ها. جيئن تہ انهن رسولن جي باري ۾ اسان جو طريقو رهيو آهي جن کي اسان توکان اڳ ۾ موڪليو هو ۽ تون اسان جي طريقي ۾ تبديلي نہ ڏسندين. ٧٦-٧٧

---

جڏهن بہ ڪنهن گروهہ ۾ سچي دين جي دعوت شروع ٿيندي آهي تہ صورتحال اها هوندي آهي جو هڪ پاسي اُهي ماڻهو هوندا آهن جيڪي مذهب جي نالي تي قائم گادين جا مالڪ هوندا آهن ٻئي پاسي حق جو داعي هوندو آهي جيڪو خالص دين جو نمائندو ٿيڻ جي ڪري وقت جي ماحول ۾ تنها ۽ بي زور نظر ايندو آهي. اهو فرق ماڻهن کي غلط فهمي ۾ وجهي ٿو ڇڏي. هو حق جي داعيءَ کي بلڪل بي قيمت سمجهي وٺندا آهن، ايستائين جو اهو چاهيندا آهن تہ ان کي پنهنجي بستيءَ مان ڪڍي ڇڏين.

اهڙن ماڻهن کي وسري ٿو وڃي تہ هي زمين خدا جي زمين آهي. هتي ڪنهن خدا جي ٻانهي جي خلاف تخريب جومنصوبو ڻاهڻ خود پنهنجي پاڻ کي خدا جي نظر ۾ مجرم ثابت ڪرڻ آهي. خدا جي داعيءَ کي ڪنهن وسندي مان ڪڍڻ اهڙو ئي آهي، جيئن ڪنهن شهر مان ان شخص کي ڪڍيو وڃي، جنهن کي اُتي حڪومت جي نمائندي جي حيثيت حاصل هجي. اهڙي شخص کي بستيءَ ۾ رهڻ ڏيڻ جو نتيجو آخرڪار اهو هوندو آهي تہ بستيءَ وارا خود اُتي نہ رهي سگهن.

ماڻهو ٻئي کي ڪيندو آهي، حالانڪ اهو خود کي ڪڍي رهيو هوندو آهي. ماڻهو ٻئي کي بي عزت ڪرڻ چاهيندو آهي، حالانڪ هو خود کي ان حقيقي مالڪ جي نظر ۾ بي عزت ڪري رهيو هوندو آهي، جنهن کي حقيقت ۾ اهو اختيار آهي جو هو جنهن کي چاهي بي عزت ڪري ۽ جنهن کي چاهي عزت وارو ڪري.

اَقِمِ الصَّلٰوةَ لِدُلُوۡكِ الشَّمۡسِ اِلٰى غَسَقِ الَّيۡلِ وَ قُرۡاٰنَ الۡفَجۡرِ ؕ اِنَّ قُرۡاٰنَ الۡفَجۡرِ كَانَ مَشۡهُوۡدًا ﴿۷۸﴾

نماز قائم ڪر سج لهڻ کان پوءِ رات جي اونداهيءَ تائين ۽ خاص ڪري فجر جو قرآن پڙهہ. بيشڪ فجر جو قرآن پڙهڻ هوندو آهي روبرو. ٧٨

---

آيت جو لفظي ترجمو اهو آهي ”نماز قائم رکو سج لهڻ کان رات جي اونداهيءَ تائين“. انهن لفظن مان بظاهر اهو مطلب نڪرندو آهي ته منجهند کان وٺي رات جي اونداهيءَ تائين مسلسل نماز پڙهي وڃي. ان ۾ شڪ نه آهي ته خدا جي عظمت ۽ ان جي احسانن جو تقاضو اهوئي آهي ته ٻانهو هر وقت ان جي عبادت ڪندو رهي، پر حديث جي تشريح ان عام حڪم کي خاص ڪري ڇڏيو آهي. حديث ان مشڪل حڪم کي اهڙي طرح آسان ڪري ڇڏيو ته ان قرار ڏنو ته عام وقت ۾ ماڻهو رڳو ذڪر (ياد) جي حد تائين خدا سان پنهنجو تعلق وابسته رکن ۽ منجهند کان رات جي وقت تائين چار ڀيرا (ظهر، عصر، مغرب، عشاء) ان جي عبادت ڪري وٺن.

اهڙيءَ طرح آيت جي ٻئي حصي جو لفظي ترجمو اهو آهي ”۽ قرآن پڙهڻ فجر جو“ ان کي به جيڪڏهن ان جي ظاهري مفهوم ۾ ورتو وڃي ته ان جو مطلب اهو نڪرندو ته روزانو صبح جو مسلسل قرآن پڙهيو وڃي، پر هتي حديث جي تشريح اسان جي لاءِ آساني پيدا ڪري ڇڏي. حديث جي مطابق ان حڪم جو مطلب اهو آهي ته صبح جي وقت به هڪ نماز ادا ڪئي وڃي ۽ ان (پنجين) نماز جو خاص پهلو اهو هجي ته ان ۾ قرآن جي ڊگهي تلاوت ڪئي وڃي.

وَمِنَ الَّيۡلِ فَتَهَجَّدۡ بِهٖ نَافِلَةً لَّكَ ۖ عَسٰٓى اَنۡ يَّبۡعَثَكَ رَبُّكَ مَقَامًا مَّحۡمُوۡدًا ﴿٧٩﴾

۽ رات جو تهجد پڙهه، اهو نفل آهي تنهنجي لاءِ. اميد آهي ته تنهنجو رب توکي مقام محمود تي بيهاري. ٧٩

---

تهجد جي نماز جو روح الله کي پنهنجن تنهائين ۾ ياد ڪرڻ آهي. تهجد جي لفظي معنيٰ رات جي بيداري آهي. رات جو وقت تنهائي ۽ سڪون جو وقت هوندو آهي. رات جو ماڻهو جڏهن هڪ ننڊ ڪري اٿندو آهي ته اهو وقت سندس سيني کان بهتر وقت هوندو آهي. ان وقت ۾ ماڻهو جڏهن خدا ڏانهن متوجهه ٿيندو آهي ۽ نماز جي صورت ۾ هٿ ٻڌي خدا جي ڪلام کي پڙهي ٿو ته ڄڻ هو پنهنجي ٻانهپ جي آخري تصوير ٺاهي رهيو هوندو آهي. خاص طور تي ان وقت جڏهن ان جي دل به ان جو ساٿ ڏئي رهي هجي ۽ ان جي شخصيت بيقرار ٿئي ۽ ان جي اکين مان لڙڪ وهي پون.

مقام محمود جي لفظي معنيٰ آهي تعريف ڪيل مقام، ان محموديت جو هڪ دنياوي پهلو آهي ۽ هڪ آخرت جو پهلو. آخرت جو پهلو اهو آهي جنهن کي مفسرين ”شفاعت ڪبريٰ“ چوندا آهن. جيئن ته حديث مان معلوم ٿيندو آهي، قيامت جي ڏينهن سيئي نبي پنهنجن مؤمنن جي شفاعت ڪندا. اها شفاعت ڄڻ انهن جي مؤمن هجڻ جي تصديق هوندي، جنهن ڪانپوءِ انهن ماڻهن کي جنت ۾ داخل ڪيو ويندو جن کي خدا جنت ۾ داخل ڪرڻ چاهي. رسول اللهﷺ جي شفاعت سيني کان وڏي هوندي، ڇاڪاڻ ته سندس امتين جو تعداد سيني کان وڌيڪ هئڻ جي ڪري پاڻﷺ سيني کان وڏي تعداد جي شفاعت فرمائيندا.

رسول اللهﷺ جي محموديت جو دنياوي پهلو اهو آهي ته پاڻﷺ سان اهڙي تاريخ جمع ٿي وڃي جو پاڻ سڄي دنيا جي قومن جي نظر ۾ قابل تعريف ۽ اعتراف جي لائق بڻجي وڃن. خدا جو اهو منصوبو پاڻﷺ جي حق ۾ مڪمل طور پورو ٿيو. اڄ دنيا جا سيئي ماڻهو پاڻﷺ جو اعتراف ڪرڻ تي

مجبور آهن. پاڻ ﷺ جي نبوت هڪ مڃيل نبوت بڻجي چڪي آهي نه وري اختلافي نبوت. جيئن اُها پاڻ ﷺ جي ظهور جي ابتدائي سالن ۾ هئي.

محمودي نبوت دنياوي لحاظ کان مڃيل (Established) نبوت جو ٻيو نالو آهي، يعني اهڙي نبوت جنهن جي حق ۾ تاريخي شهادتون ايتريون وڌيڪ ڪامل طور تي موجود هجن جو پاڻ ﷺ جي شخصيت ۽ پاڻ ﷺ جي تعليم جي باري ۾ ڪنهن لاءِ به شڪ شبهي جي گنجائش باقي نه رهي. انسان پنهنجي مڃيل علمي معيار جي مطابق پاڻ ﷺ جي حيثيت جو اعتراف ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃي. اقرار ۽ اعتراف جي آخري صورت تعريف آهي، ان ڪري ان کي ”مقام محمود“ چيو ويو آهي.

وَ قُلۡ رَّبِّ اَدۡخِلۡنِیۡ مُدۡخَلَ صِدۡقٍ وَّ اَخۡرِجۡنِیۡ مُخۡرَجَ صِدۡقٍ وَّ اجۡعَلۡ لِّیۡ مِنۡ لَّدُنۡکَ سُلۡطٰنًا نَّصِیۡرًا ﴿۸۰﴾ وَ قُلۡ جَآءَ الۡحَقُّ وَ زَهَقَ الۡبَاطِلُ ؕ اِنَّ الۡبَاطِلَ کَانَ زَهُوۡقًا ﴿۸۱﴾

۽ چئو ته اي منهنجا رب! مون کي داخل ڪر سچائيءَ سان ۽ مون کي سچائيءَ سان ٻاهر ڪڍ ۽ مون کي پاڻ وٽان مددگار قوت عطا ڪر ۽ چئو ته حق آيو ۽ باطل مٽجي ويو، بيشڪ باطل مٽجي وڃڻ وارو ئي آهي. ٨٠-٨١

---

پيغمبر اسلام ﷺ کي عرب جا سردار مذموم بڻائڻ چاهيندا هئا. پر الله جو فيصلو هو ته پاڻ ﷺ کي ”محمود“ جي مقام تي پهچايو وڃي، ان ڪري الله جو منصوبو اهو هو ته مديني ۾ پاڻ ﷺ جي لاءِ موافق حالتون پيدا ڪيون وڃن ۽ مڪي مان ڪڍي پاڻ ﷺ کي مديني وٺي وڃجي. مديني ۾ اسلام جو اقتدار قائم ٿئي. تبليغي ڪوشش جي ذريعي مسلمانن جو تعداد گهٽي کان گهٽو وڌايو وڃي، ايستائين جو اُهي ماڻهو مڪو فتح ڪري وٺن ۽ آخرڪار سڄي عرب تي غالب اچي وڃن. اهڙي طرح توحيد جي پنيان اها طاقت جمع ٿي وڃي جيڪا مسلسل عمل جي ذريعي سڄي دنيا مان شرڪ جو غلبو ختم ڪري ڇڏي.

اهوئي اُهو خدائي منصوبو هو جنهن کي هتي دعا جي صورت ۾ پيغمبر اسلام کي تلقين ڪيو ويو.

وَ نُنَزِّلُ مِنَ الۡقُرۡاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّ رَحۡمَةٌ لِّلۡمُؤۡمِنِیۡنَ ۙ وَ لَا یَزِیۡدُ الظّٰلِمِیۡنَ اِلَّا خَسَارًا ﴿۸۲﴾

۽ اسان قرآن مان اهو نازل ڪندا آهيون، جنهن ۾ شفا ۽ رحمت آهي ايمان وارن لاءِ ۽ ظالمن لاءِ ان مان نقصان ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه ٿو وڌي. ٨٢

---

قرآن خالص سچائيءَ جو اعلان آهي. خالص سچائي جڏهن پيش ڪئي ويندي آهي ته انهن سيني ماڻهن تي ان جي چوٽ پوندي آهي جيڪي يا ته سچائيءَ کان خالي هجن يا ملاوٽي سچائيءَ ۾ جي رهيا هجن. پوءِ جيڪي ماڻهو حقيقت پسند آهن، انهن جي سامهون جڏهن خالص سچائي ايندي آهي ته هو سچائيءَ کي معيار بڻائيندا آهن نه وري پنهنجي ذات کي. هو خود کي سچائيءَ مطابق تبديل ڪري وٺندا آهن نه وري اهو ته خود سچائيءَ کي پاڻ مطابق تبديل ڪرڻ ۾ لڳي وڃن. اهڙي طرح سندن سنجيدگي ۽ حقيقت پسندي قرآن کي انهن لاءِ رحمت بڻائي ڇڏيندي آهي.

ٻيا ماڻهو اُهي آهن جن جي اندر پنهنجي وڏائي جو احساس لڪيل هوندو آهي. انهن جي سامهون جڏهن خالص سچائي ايندي آهي تہ پنهنجي خاص نفسيات جي ڪري سندن ذهن ابتڙ رخ تي هلي پوندو آهي. هو اهو نہ ٿا سوچي سگهن تہ ”جيڪڏهن آئون سچائيءَ کي اختيار ڪريان تہ آئون سچو بڻجي ويندس“. ان جي بجاءِ هو اهو سوچڻ لڳندا آهن تہ ”جيڪڏهن مون سچائيءَ کي مڃيو تہ آئون ننڍو ٿي پوندس“. اُهي وچڻ واري شيءِ جي حفاظت ۾ لڳي هميشہ رهجي وڃڻ واري شيءِ کي وڃائي ڇڏيندا آهن. اهي پنهنجي وڏائيءَ کي قائم رکڻ جي ڪري سچائيءَ کي ننڍو ڪرڻ تي راضي ٿي ويندا آهن.

وَ اِذَآ اَنْعَمْنَا عَلَى الْاِنْسَانِ اَعْرَضَ وَ نَاٰ بِجَانِبِهٖ ۚ وَ اِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ كَانَ يَـُٔوْسًا ﴿٨٣﴾ قُلْ
كُلٌّ يَّعْمَلُ عَلٰى شَاكِلَتِهٖ ؕ فَرَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَنْ هُوَ اَهْدٰى سَبِيْلًا ﴿٨٤﴾

ماڻهوءَ تي جڏهن اسان انعام ڪندا آهيون تہ هو منهن موڙي پاسو ڦيرائي ونندو آهي. ۽ جڏهن ان کي تڪليف پهچندي آهي تہ هو نااميد ٿي ويندو آهي. چئو تہ هرڪو پنهنجي طريقي تي عمل ڪري رهيو آهي. پوءِ تنهنجو رب ئي بهتر ڄاڻي ٿو تہ ڪير وڌيڪ سڌي رستي تي آهي. ٨٣- ٨٤

---

هر انسان تي اهڙيون حالتون گذرنديون آهن جو جڏهن ان کي راحت ۽ ڪشادگي حاصل ٿيندي آهي تہ هو زبردست خوداعتماديءَ جو مظاهرو ڪندو آهي. ڪنهن ڳالهہ کي مڃڻ لاءِ هو ايترو آڪڙجي ويندو آهي ڄڻ تہ هو اهڙو لوهہ آهي جيڪو جهڪڻ نہ ٿو ڄاڻي. پر جڏهن ان جا اسباب ڪسجي وڃن ٿا ۽ ان کي بيوسيءَ جو تجربو ٿيندو آهي تہ هو يڪدم بي همت ٿي ويندو آهي ۽ هو مايوس ٿي ويندو آهي.

موجوده دنيا ۾ هر ماڻهو پنهنجي باري ۾ ان تجربي مان گذرندو آهي. پر ڪو اهڙو نہ آهي جيڪو ان تجربي مان پاڻ کي دريافت ڪري وٺي. هو اهو سوچي تہ دنيا ۾ جڏهن تہ ان کي آزادي حاصل آهي تہ هو حق جي مقابلي ۾ ايتري سرڪشي ڏيکاري رهيو آهي. پر ان وقت ان جو ڇا حال هوندو، جڏهن قيامت ايندي ۽ ان کان ان جو سڄو اختيار کسي وٺندي. ماڻهو ڪيترو گهڻو ڪمزور آهي، پر هو پاڻ کي ڪيترو گهڻو طاقتور سمجهي ٿو.

شاڪله مان مراد ذهني سانچو آهي. هر ماڻهوءَ جي حالتن ۽ رجحان جي ڪري آهستي آهستي ان جو هڪ خاص ذهني سانچو بڻجي ويندو آهي. هو ان جي زيراثر سوچيندو آهي ۽ ان جي مطابق ئي ان جو نقطہ نظر بڻجي ويندو آهي، پر صحيح نقطہ نظر اهو آهي جيڪو علم الٰهي جي مطابق صحيح هجي ۽ غلط اهو آهي جيڪو علم الٰهي جي مطابق غلط هجي.

اهوئي اُهو مقام آهي جتي ماڻهوءَ جو امتحان آهي. ماڻهوءَ کي اهو ڪرڻو آهي تہ ان ذهني سانچي جيڪو سندس ذهن بڻائي ڇڏيو آهي، هو ان ذهني روبي کي ٽوڙي، تہ جيئن هو شين کي اهڙو ئي ڏسي سگهي جهڙيون اُهي آهن. ٻين لفظن ۾ هو شين کي رباني نگاهہ سان ڏسڻ لڳي. جيڪي ماڻهو پنهنجن ذهني مونجهارن ۾ گم هجن، اُهي ڀٽڪيل ماڻهو آهن ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجن ذهني مونجهارن مان نڪري خدائي نقطہ نظر کي پائي وٺن، اهي ئي اُهي ماڻهو آهن جن هدايت پاتي.

وَيَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الرُّوْحِ ۭ قُلِ الرُّوْحُ مِنْ اَمْرِ رَبِّيْ وَمَآ اُوْتِيْتُمْ مِّنَ الْعِلْمِ اِلَّا قَلِيْلًا ۝٨٥

۽ اُهي توکان روح بابت پُڇن ٿا. چؤ ته روح منهنجي رب جي حڪم سان آهي ۽ توهان کي تمام ٿورو علم ڏنو ويو آهي.٨٥

---

هتي روح مان مراد وحي الٰهي آهي. عرب جي جن ماڻهن رسول اللهﷺ کان اهو سوال ڪيو، اهي وحي يا الهام جا منڪر نه هئا. ان سوال جو رخ انهن وٽ رسول اللهﷺ جي بي خبريءَ ڏانهن هو نه وري حقيقت ۾ پنهنجي بيخبريءَ ڏانهن.

هي اُهو زمانو هو جڏهن رسول الله ﷺجي لاءِ عظمت جي تاريخ اجا نه ٺهي هئي. ماڻهن کي پاڻﷺ صرف هڪ عام انسان نظر ايندا هئا، ڇاڪاڻ ته انهن کي يقين نه هو ته خدا جو فرشتو پاڻﷺ وٽ خدا جي وحي کڻي ايندو آهي، ان ڪري انهن پاڻﷺ جو مذاق اڏائڻ لاءِ اهو سوال ڪيو. جيئن ته ان سوال جي جواب ۾ قرآن ۾ هڪ اهم اصولي ڳالهه ٻڌائي وئي، اُها هيءَ ته انسان کي رڳو ٿورو علم ڏنو ويو آهي، هو ”گهٽي علم“ جو مالڪ نه آهي، ان ڪري حقيقت پسنديءَ جو تقاضو اهو آهي ته هو انهن سوالن ۾ نه الجهي جن کي هو پنهنجي پيدائشي ڪم علميءَ جي ڪري سمجهي نه ٿو سگهي.

قديم زماني ۾ انسان رڳو اکين ذريعي شين کي ڏسي سگهندو هو. جيئن ته نظر جي مطالعي ٻڌايو ته اکيون صرف هڪ حد تائين ڪم ڪري سگهن ٿيون، ان ڪري اُهي ڪل مطالعي جي لاءِ ڪافي نه آهن. مثال طور هڪ شيءِ جيڪا پري کان ڏسڻ ۾ هڪڙي نظر اچي ٿي، قريب وڃي ڏسجي ته معلوم ٿيندو ته اهي ٻه آهن.

موجوده زماني ۾ جڏهن اوزارن جو استعمال شروع ٿيو ته انسان سمجهيو ته اوزار ان جي محدوديت جا بدل آهن. اوزارن ذريعي شين کي انهن جي آخري حد تائين ڏسي سگهجي ٿو. پر ويهين صديءَ ۾ پهچي ان خوش خياليءَ جو خاتمو ٿي ويو. هاڻي معلوم ٿيو ته شيون ان کان به وڌيڪ پيچيده ۽ ان کان به وڌيڪ پراسرار آهن جو اوزارن جي مدد سان انهن کي پوري طرح ڏسي سگهجي.

اهڙي حالت ۾ مختصر علم تي قناعت ڪرڻ انسان لاءِ حقيقت پسنديءَ جو تقاضو بڻجي ويو آهي نه وري عقيدي جو تقاضو. اسان جون صلاحيتون محدود آهن ۽ اسان کان ٻاهر جيڪو عالم آهي، اهو لامحدود آهي، پوءِ محدود جي لاءِ ڪهڙيءَ طرح ممڪن آهي جو هو لامحدود جو احاطو ڪري سگهي. انسان جي محدوديت جو تقاضو آهي ته هو بالواسطه علم تي قناعت ڪري ۽ براهِ راست علم تي اصرار ڪرڻ ڇڏي ڏي. ٻين لفظن ۾ اندازي ۽ قياس سان حاصل ڪيل علم کي به اهڙي طرح معقول (Valid) مڃي وٺي، جهڙيءَ طرح هو مشاهدي سان حاصل ٿيل علم کي معقول مڃيندو آهي.

وَلَىِٕنْ شِئْنَا لَنَذْهَبَنَّ بِالَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ ثُمَّ لَا تَجِدُ لَكَ بِهٖ عَلَيْنَا وَكِيْلًا ۝٨٦ اِلَّا
رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ ۭ اِنَّ فَضْلَهٗ كَانَ عَلَيْكَ كَبِيْرًا ۝٨٧ قُلْ لَّىِٕنِ اجْتَمَعَتِ الْاِنْسُ وَالْجِنُّ
عَلٰٓي اَنْ يَّاْتُوْا بِمِثْلِ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لَا يَاْتُوْنَ بِمِثْلِهٖ وَلَوْ كَانَ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ ظَهِيْرًا ۝٨٨

۽ جيڪڏهن اسان چاهيون ته اهو سڀ ڪجهه توکان ڪسي وٺون جيڪو اسان وحيءَ جي ذريعي توکي ڏنو آهي، پوءِ تون ان لاءِ اسان جي مقابلي ۾ ڪو به مددگار نه لهندين. پر اها رڳو تنهنجي رب جي رحمت آهي، بيشڪ توتي ان جو وڏو فضل آهي. چؤ ته جيڪڏهن سيئي انسان ۽ جن گڏجي وڃن ته اهڙو قرآن ٺاهي آڻين، تڏهن به اُهي هن جهڙو نه آڻي سگهندا، پوءِ ڪٽي اُهي هڪٻئي جا مددگار بڻجي وڃن. ٨٦- ٨٨

---

قرآن رسول اللهﷺ تي خاص وقتن ۾ نازل ٿيندو هو. ان خاص وقتن کان علاوه پاڻﷺ خود ان تي قادر نه هئا جو قرآن جهڙو ڪلام ٺاهي سگهن. ٻين وقتن ۾ پاڻﷺ جي زبان مان جيڪو ڪلام نڪرندو هو، اهو هميشه قرآن جي ڪلام کان مختلف هوندو هو. جڏهن گهڻي وقت لاءِ وحيءَ جو اچڻ رڪجي ويندو هو ته پاڻﷺ بيحد پريشان ٿي ويندا هئا. پر پاڻﷺ لاءِ اهو ممڪن نه هوندو هو جو خود يا ڪنهن جي مدد سان قرآن جهڙو ڪلام ٺاهي وٺن. اها هڪ حقيقت آهي ته قرآن جي زبان ۽ پاڻﷺ جي زبان ۾ بيحد نمايان فرق هوندو هو. اهو فرق اڄ به هر عربي ٻولي ڄاڻڻ وارا قرآن ۽ حديث جي زبان کي ڀيٽي ڏسي سگهن ٿا.

اها حقيقت ان ڳالهه جو هڪ واضح ثبوت آهي ته قرآن محمدﷺ جو ڪلام نه آهي، اهو محمدﷺ کانسواءِ هڪٻئي برتر ذهن مان نڪتل ڪلام آهي.

جيڪي ماڻهو قرآن کي انساني ڪلام چوندا آهن، انهن کي چيو ويو ته جيڪڏهن توهان جو خيال صحيح آهي ته انسان جي حيثيت سان توهان کي به ان جي قدرت هئڻ کپي. توهان تنها يا ٻين انسانن کي وٺي قرآن جهڙو ڪلام ٺاهي آڻيو. پر ان وقت جي ماڻهن مان ڪنهن جي لاءِ به اهو ممڪن نه ٿي سگهيو جو هو ان چئلينج جو جواب ڏئي ۽ بعد جي زماني ۾ به ڪو اديب يا عالم قرآن جهڙي ڪلام جو نمونو پيش نه ڪري سگهيو. واقعن مان خبر پئي ٿي ته گهڻن ئي ماڻهن اها ڪوشش ڪئي، پر اُهي سراسر ناڪام رهيا. اُهي قرآن جهڙي هڪ سورت به نه ٺاهي سگهيا.

وَ لَقَدۡ صَرَّفۡنَا لِلنَّاسِ فِیۡ هٰذَا الۡقُرۡاٰنِ مِنۡ کُلِّ مَثَلٍ ۫ فَاَبٰۤی اَکۡثَرُ النَّاسِ اِلَّا کُفُوۡرًا ﴿۸۹﴾ وَ
قَالُوۡا لَنۡ نُّؤۡمِنَ لَکَ حَتّٰی تَفۡجُرَ لَنَا مِنَ الۡاَرۡضِ یَنۡۢبُوۡعًا ﴿ۙ۹۰﴾ اَوۡ تَکُوۡنَ لَکَ جَنَّۃٌ مِّنۡ
نَّخِیۡلٍ وَّ عِنَبٍ فَتُفَجِّرَ الۡاَنۡهٰرَ خِلٰلَهَا تَفۡجِیۡرًا ﴿ۙ۹۱﴾ اَوۡ تُسۡقِطَ السَّمَآءَ کَمَا زَعَمۡتَ عَلَیۡنَا
کِسَفًا اَوۡ تَاۡتِیَ بِاللّٰهِ وَ الۡمَلٰٓئِکَۃِ قَبِیۡلًا ﴿ۙ۹۲﴾ اَوۡ یَکُوۡنَ لَکَ بَیۡتٌ مِّنۡ زُخۡرُفٍ اَوۡ تَرۡقٰی فِی
السَّمَآءِ ؕ وَ لَنۡ نُّؤۡمِنَ لِرُقِیِّکَ حَتّٰی تُنَزِّلَ عَلَیۡنَا کِتٰبًا نَّقۡرَؤُهٗ ؕ قُلۡ سُبۡحَانَ رَبِّیۡ هَلۡ
ع ۹/۱۰ کُنۡتُ اِلَّا بَشَرًا رَّسُوۡلًا ﴿۹۳﴾ ع

۽ اسان ماڻهن لاءِ هن قرآن ۾ هر قسم جا مضمون طرح طرح سان بيان ڪيا آهن، پوءِ به اڪثر ماڻهو انڪار تي ئي ڄميا رهيا ۽ اُهي چوندا آهن ته اسان هرگز توتي ايمان نه آڻينداسون، جيستائين تون اسان لاءِ زمين مان ڪو چشمو جاري نه ڪرين يا تو وٽ کجين ۽ انگورن جو ڪو باغ هجي، پوءِ تون ان باغ جي وچ ۾ ڪيترين ئي نهرون جاري ڪرين. يا جيئن تون چوندو آهين، اسان جي مٿان آسمان جو ٽڪرو ڪيراءِ يا الله ۽ فرشتن کي آڻي

اسان جي سامهون بيهار يا تو وٽ سونَ جو ڪو گهر هجي يا تون آسمان تي چڙهي وڃين ۽ اسان تنهنجي چڙهڻ ڪي بہ نہ مڃينداسون، جيستائين تون اُتان اسان تي ڪو ڪتاب نہ لاهين، جنهن کي اسان پڙهون. چؤ تہ منهنجو رب پاڪ آهي، آئون تہ رڳو هڪ بشر آهيان الله جو رسول. ٨٩- ٩٣

---

رسول اللهﷺ جڏهن حق جو پيغام پيش ڪيو تہ ان وقت جي ماڻهن چيو تہ اسان اوهان کي ان وقت مڃينداسون، جڏهن توهان معجزا ڏيکاريندؤ. پر ان قسم جا مطالبا خدا جي تخليقي منصوبي جي خلاف آهن. انسان کي خدا باشعور وجود جي طور تي پيدا ڪيو آهي. اهو سڄي ڪائنات ۾ هڪ انتهائي نادر عطيو آهي جيڪو ان ڪري ڏنو ويو آهي تہ انسان ذاتي شعور جي ذريعي حق کي سڃاڻي نہ وري عجب ۾ وجهندڙ ڪرشمن جي ذريعي.

حقيقت اها آهي تہ موجوده دنيا ۾ انسان جو امتحان ”دليل“ جي سطح تي ٿي رهيو آهي. هتي هر ماڻهوءَ کي دليل جي زبان ۾ حق کي سڃاڻڻ ۽ ان کي اختيار ڪرڻو آهي. جيڪي ماڻهو دليل جي سطح تي حق کي نہ سڃاڻين، اهي ئي اهي ماڻهو آهن جيڪي آخرڪار ناڪام ۽ نامراد رهجي ويندا.

وَ مَا مَنَعَ النَّاسَ اَنۡ يُّؤۡمِنُوۡۤا اِذۡ جَآءَهُمُ الۡهُدٰۤى اِلَّاۤ اَنۡ قَالُوۡۤا اَبَعَثَ اللّٰهُ بَشَرًا رَّسُوۡلًا ﴿۹۴﴾ قُلۡ لَّوۡ كَانَ فِى الۡاَرۡضِ مَلٰٓئِكَةٌ يَّمۡشُوۡنَ مُطۡمَئِنِّيۡنَ لَنَزَّلۡنَا عَلَيۡهِمۡ مِّنَ السَّمَآءِ مَلَكًا رَّسُوۡلًا ﴿۹۵﴾ قُلۡ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيۡدًاۢ بَيۡنِىۡ وَبَيۡنَكُمۡ‌ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِعِبَادِهٖ خَبِيۡرًۢا بَصِيۡرًا ﴿۹۶﴾

۽ جڏهن ماڻهن وٽ هدايت اچي وئي تہ انهن کي ايمان آڻڻ کان ان ڪانسواءِ ٻي ڪنهن شيءِ نہ روڪيو، جو انهن چيو تہ ڇا الله بشر کي رسول بڻائي موڪليو آهي. چؤ تہ جيڪڏهن زمين ۾ فرشتا هجن ها، ان ۾ هو اطمينان سان هلن ڦرن ها تہ ضرور اسان انهن تي آسمان مان فرشتي کي رسول بڻائي موڪليون ها. چؤ تہ الله منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ گواهي لاءِ ڪافي آهي، بيشڪ هو پنهنجن ٻانهن کي ڄاڻڻ وارو، ڏسڻ وارو آهي. ٩٤- ٩٦

---

اهڙيءَ طرح جي آيتن کي جڏهن اڄ ڪو ماڻهو پڙهندو آهي تہ ان کي تعجب ٿيندو آهي تہ اهي ڪهڙا ضدي ماڻهو هئا جن پيغمبر اعظم (محمد ﷺ) جو انڪار ڪيو. ان تعجب جي اصل وجهہ اها آهي تہ اڄوڪو ماڻهو انڪار ڪرڻ وارن کي ”پيغمبرِ اعظم“ سان پيٽيندو آهي. جڏهن تہ دور اول جي انڪار ڪرڻ وارن جي سامهون جيڪو شخص هو، اُهو هڪ اهڙو شخص هو جيڪو اڃا تائين رڳو ”محمد بن عبدالله“ هو. اها سڄي تاريخ ان وقت مستقبل جي پردي ۾ لڪيل هئي جنهن کان پوءِ دنيا پاڻ ﷺ کي پيغمبر اعظم جي حيثيت سان تسليم ڪيو.

پيغمبر پنهنجي زماني جي ماڻهن کي هڪ ”بشر“ نظر ايندو هو، ان کان پوءِ جڏهن تاريخ تصديق ڪئي تہ ماڻهن کي نظر آيو تہ هو واقعي پيغمبر هو. اهوئي سبب آهي جو هر پيغمبر سان اهو واقعو پيش آيو تہ سندس زماني جي مخاطبن ان جو انڪار ڪيو ۽ پوءِ اچڻ وارا ماڻهو ان جو اعتراف ڪرڻ تي مجبور ٿيا.

موجوده دنيا ۾ ماڻهو امتحان جي حالت ۾ آهي، ان ڪري اهو ممڪن نہ آهي تہ فرشتن جي ذريعي ان کي حق کان باخبر ڪيو وڃي. فرشتن جي ذريعي حق کان باخبر ڪرڻ جو مطلب حقيقت کي آخري حد تائين بي نقاب ڪري ڇڏڻ آهي. جڏهن حقيقت کي آخري حد تائين بي نقاب ڪري ڇڏجي تہ ان کانپوءِ ماڻهوءَ جو امتحان ڪهڙي بنياد تي ٿيندو.

وَ مَنۡ یَّهۡدِ اللّٰهُ فَهُوَ الۡمُهۡتَدِ ۚ وَ مَنۡ یُّضۡلِلۡ فَلَنۡ تَجِدَ لَهُمۡ اَوۡلِیَآءَ مِنۡ دُوۡنِهٖ ؕ وَ نَحۡشُرُهُمۡ یَوۡمَ الۡقِیٰمَةِ عَلٰی وُجُوۡهِهِمۡ عُمۡیًا وَّ بُكۡمًا وَّ صُمًّا ؕ مَاۡوٰىهُمۡ جَهَنَّمُ ؕ كُلَّمَا خَبَتۡ زِدۡنٰهُمۡ سَعِیۡرًا ﴿۹۷﴾ ذٰلِكَ جَزَآؤُهُمۡ بِاَنَّهُمۡ كَفَرُوۡا بِاٰیٰتِنَا وَ قَالُوۡۤا ءَاِذَا كُنَّا عِظَامًا وَّ رُفَاتًا ءَاِنَّا لَمَبۡعُوۡثُوۡنَ خَلۡقًا جَدِیۡدًا ﴿۹۸﴾

الله جنهن کي راهہ ڏيکاري، اهوئي راهہ پائڻ وارو آهي ۽ جنهن کي هو بي راهہ ڪري ڇڏي تہ تون ان لاءِ الله کانسواءِ ڪنهن کي مددگار نہ لهندين. ۽ اسان قيامت جي ڏينهن انهن کي سندن منهن ڀر انڌا ۽ گونگا ۽ ٻوڙا ڪري گڏ ڪنداسون، سندن جاءِ جهنم آهي. جڏهن بہ ان جي باهہ هلڪي ٿيندي تہ اسان ان کي وڌيڪ ڀڙڪائي ڇڏينداسون. هي آهي انهن جو بدلو، ان ڪري جو انهن اسان جي نشانين جو انڪار ڪيو ۽ چيائون تہ جڏهن اسان هڏا ۽ ذرڙا ٿي وينداسون تہ ڇا اسان نئين سر پيدا ڪري اٿاريا وينداسون. ٩٧- ٩٨

---

دنيا ۾ ماڻهو پنهنجي مادي حيثيت جي مطابق جيئندو آهي. آخرت ۾ هو پنهنجي روحاني حيثيت مطابق نظر ايندو آهي. اهوئي سبب آهي جو جيڪي ماڻهو دنيا ۾ راهہ کان بي راهہ ٿيا، اهي قيامت ۾ جڏهن اٿندا تہ پنهنجي پاڻ کي انڌو، ٻوڙو ۽ گونگو لهندا. سندن راهہ کان بي راهہ ٿيڻ ان ڪري هو جو انهن اکين، ڪنن ۽ زبان کي ان مقصد لاءِ استعمال نہ ڪيو جنهن جي لاءِ اُهي انهن کي ڏنا ويا هئا. انهن خدا جي نشانين کي نہ ڏٺو، انهن خدا جي دليلن کي نہ ٻڌو. سندن زبان حق جي حمايت ۾ نہ کلي. اُهي اک، ڪن ۽ زبان رکندي بہ حق جي باري ۾ انڌا، ٻوڙا ۽ بي زبان ٿي ويا. موت کان پوءِ جڏهن اهي حقيقي عالم ۾ پهچندا تہ اُتي هو پنهنجي پاڻ کي پنهنجي اصلي صورت ۾ لهندا نہ وري ان مصنوعي صورت ۾ جيڪا امتحان ۾ هئڻ جي ڪري وقتي طور تي انهن کي موجوده دنيا ۾ حاصل هئي.

”جڏهن اسان ذرو ذرو ٿي وينداسون“ چوڻ وارا هڪ اُهي آهن جيڪي زبان سان اهو جملو ورجائين، ٻيا اهي ماڻهو آهن جيڪي زبان حال سان ان کي چون. هي ٻيا ماڻهو اُهي آهن جيڪي اکين ۽ ڪنن ۽ زبان کي انهن جي تخليقي مقصد جي خلاف استعمال ڪن ۽ اهو گمان رکن تہ سندن اهو عمل رڳو هن ئي دنيا ۾ گم ٿي رهجي ويندو ۽ اُهي آخرت ۾ پهچڻ وارو نہ آهي.

اَوَ لَمۡ یَرَوۡا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِیۡ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ قَادِرٌ عَلٰۤی اَنۡ یَّخۡلُقَ مِثۡلَهُمۡ وَ جَعَلَ لَهُمۡ اَجَلًا لَّا رَیۡبَ فِیۡهِ ؕ فَاَبَی الظّٰلِمُوۡنَ اِلَّا كُفُوۡرًا ﴿۹۹﴾

ڇا انهن ماڻهن نہ ڏٺو تہ جنهن الله آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو، هو ان تي قادر آهي تہ انهن جهڙا ٻيهر پيدا ڪري، هن انهن لاءِ هڪ وقت مقرر ڪري رکيو آهي. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي، تڏهن بہ ظالم ماڻهو انڪار ڪرڻ کان نہ مڙيا. ٩٩

---

زمين ۽ آسمان اسان جي سامهون هڪ حقيقت طور موجود آهن. اسان انهن جو انڪار نہ ٿا ڪري سگهون. اها موجودگي ثابت ڪري ٿي تہ هتي ڪا زندهہ هستي آهي جيڪا اها طاقت رکي ٿي تہ هو پهرين پيري تخليق ڪري. هو ڪجهہ نہ مان، هجڻ ڪي وجود ۾ آڻي. پوءِ جڏهن پهرين تخليق ممڪن آهي تہ ٻيهر تخليق ڇو ممڪن نہ ٿيندي. حقيقت اها آهي تہ پهرين تخليق ڪي مڃڻ ڪان پوءِ ٻي تخليق ڪي مڃڻ ۾ ڪو علمي ۽ عقلي دليل رڪاوٽ نہ ٿو رهي.

اينتري پڌري ڳالهہ جنهن ڪي عقل قبول ڪري، ان جي باوجود جيڪو ماڻهو ٻي تخليق ڪي نہ مڃي، اهو ظالم آهي، ضد تي بيٺل آهي نہ وري دليل ۽ عقل تي.

قُلۡ لَّوۡ اَنۡتُمۡ تَمۡلِكُوۡنَ خَزَآئِنَ رَحۡمَةِ رَبِّىۡۤ اِذًا لَّاَمۡسَكۡتُمۡ خَشۡيَةَ الۡاِنۡفَاقِ‌ؕ وَكَانَ الۡاِنۡسَانُ قَتُوۡرًا ۝١٠٠

چئو تہ جيڪڏهن توهان منهنجي رب جي رحمت جي خزانن جا مالڪ هجو ها تہ توهان خرچ ٿي وڃڻ جي ڊپ ڪان ضرور هٿ روڪي ڇڏيو ها ۽ انسان وڏو تنگ دل آهي. ١٠٠

---

انسان دراصل تنگ دل آهي. هو هر قسم جي عزت ۽ ڀلائيءَ ڪي پاڻ لاءِ يا پنهنجي گروهہ لاءِ جمع ڪري وٺڻ چاهي ٿو. جيڪڏهن نعمتن جي تقسيم انسان جي هٿ ۾ هجي ها تہ جن ماڻهن وٽ دولت ۽ عظمت آهي، اُهي ئي نبوت ڪي پنهنجو حق سمجهن ها. هو ان ڪي ٻين وٽ پهچڻ نہ ڏين ها.

پر خدا معاملن ڪي جوهر ۽ قابليت جي لحاظ ڪان ڏسندو آهي نہ وري گروهي تعصب جي نظر سان. هو سيني انسانن تي نظر وجهندو آهي ۽ پوري نسل مان جيڪو سيني ڪان بهتر انسان هوندو آهي، ان ڪي نبوت لاءِ چوندي وٺندو آهي. نبوت جو انتخاب جيڪڏهن انسان ڪرڻ لڳن ها تہ هتي بہ اُهائي ڪيفيت پيدا ٿي وڃي ها، جيڪا انساني ادارن ۾ جانبداري ۽ سفارش جي ڪري نااهل انسان جي هجوم جي صورت ۾ نظر اچي ٿي.

وَلَقَدۡ اٰتَيۡنَا مُوۡسٰى تِسۡعَ اٰيٰتٍۢ بَيِّنٰتٍ فَسۡـَٔلۡ بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ اِذۡ جَآءَهُمۡ فَقَالَ لَهٗ فِرۡعَوۡنُ اِنِّىۡ لَاَظُنُّكَ يٰمُوۡسٰى مَسۡحُوۡرًا ۝١٠١ قَالَ لَقَدۡ عَلِمۡتَ مَاۤ اَنۡزَلَ هٰٓؤُلَۤاءِ اِلَّا رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ بَصَآئِرَ‌ۚ وَاِنِّىۡ لَاَظُنُّكَ يٰفِرۡعَوۡنُ مَثۡبُوۡرًا ۝١٠٢ فَاَرَادَ اَنۡ يَّسۡتَفِزَّهُمۡ مِّنَ الۡاَرۡضِ فَاَغۡرَقۡنٰهُ وَمَنۡ مَّعَهٗ جَمِيۡعًا ۝١٠٣ وَّقُلۡنَا مِنۡۢ بَعۡدِهٖ لِبَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ اسۡكُنُوا الۡاَرۡضَ فَاِذَا جَآءَ وَعۡدُ الۡاٰخِرَةِ جِئۡنَا بِكُمۡ لَفِيۡفًا ۝١٠٤

۽ اسان موسيٰ ڪي نَوَ پڌريون نشانيون ڏنيون. پوءِ بني اسرائيل ڪان پڇي وٺ تہ جڏهن هو انهن وٽ آيو تہ فرعون ان ڪي چيو تہ اي موسيٰ! منهنجي خيال ۾ تہ ضرور تو تي ڪنهن جادو ڪري ڇڏيو آهي. موسيٰ چيو تہ تون چڱيءَ طرح ڄاڻين ٿو تہ انهن ڪي آسمانن ۽ زمين جي رب ئي نازل ڪيو آهي اکين کولڻ لاءِ ۽ منهنجو خيال آهي تہ اي فرعون! تون ضرور ناس ٿي ويندين. پوءِ فرعون چاهيو تہ هن ڪي ان زمين مان لوڏي ڪيڍي. تنهن

ڪري اسان هن ڪي ۽ جيڪي هن سان گڏ هئا، سيني کي غرق ڪيو ۽ اسان بني اسرائيل کي چيو تہ توهان زمين ۾ رهو. پوءِ جڏهن آخرت جو وعدو ايندو، تہ اسان توهان سيني کي گڏ آڻينداسون. ١٠١ - ١٠٤

---

فرعون جي سامهون پڌريون نشانيون پيش ڪيون ويون تہ هن چيو هي "جادو" آهي. ان جو مطلب اهو آهي تہ داعي طرفان چاهي ڪيترا ئي طاقتور دليل ۽ ڪيتريون ئي وڏيون نشانيون پيش ڪيون وڃن، پوءِ بہ انسان لاءِ اهو دروازو بند نہ ٿيندو آهي جو هو ڪجھ لفظ ڳالهائي، ان کي رد ڪري ڇڏي. هو خدائي نشانيءَ کي انساني جادو چئي ڇڏي. هو علمي دليل کي ناقص مطالعو چئي ٽاري ڇڏي. هو عقل ۾ اچڻ واري واضح ڳالھ کي غيرمعقول چئي نظرانداز ڪري ڇڏي.

حق جا مخالف جڏهن لفظي مخالفت سان حق جي آواز کي دٻائڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيندا آهن تہ هو جارحاڻين ڪارروائين تي لهي ايندا آهن، پر انهن کي وسري ٿو وڃي تہ اهو ڪنهن انسان جو معاملو نہ آهي، بلڪ خدا جو معاملو آهي ۽ ڪير آهي جو خدا سان مقابلو ڪري ڪامياب ٿئي.

وَ بِالۡحَقِّ اَنۡزَلۡنٰهُ وَ بِالۡحَقِّ نَزَلَ ؕ وَ مَاۤ اَرۡسَلۡنٰكَ اِلَّا مُبَشِّرًا وَّ نَذِيۡرًا ۞١٠٥ وَ قُرۡاٰنًا فَرَقۡنٰهُ لِتَقۡرَاَهٗ عَلَى النَّاسِ عَلٰى مُكۡثٍ وَّ نَزَّلۡنٰهُ تَنۡزِيۡلًا ۞١٠٦

۽ اسان قرآن کي حق سان نازل ڪيو آهي ۽ اُهو حق سان ئي نازل ٿيو آهي. ۽ اسان توکي صرف خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ ڊيڄارڻ وارو بڻائي موڪليو آهي ۽ اسان قرآن کي ٿورو ٿورو ڪري نازل ڪيو تہ جيئن تون ان کي ماڻهن جي سامهون آهستي آهستي پڙهه. ۽ ان کي اسان آهستي آهستي نازل ڪيو آهي. ١٠٥ - ١٠٦

---

قرآن پاڪ خالص سچائيءَ جو اعلان آهي، پر خالص سچائي هميشہ ماڻهن لاءِ سيني کان گهٽ قابل قبول شيءِ هوندي آهي، ان ڪري الله تعاليٰ داعيءَ تي اها ذميداري نہ وڌي آهي تہ هو ماڻهن کي ضرور ميڃرائي. داعيءَ جي ذميداري اها آهي تہ هو ڪامل طور تي سچائيءَ جو اعلان ڪري ڇڏي.

قرآن ۾ مخاطب لاءِ آخري حد تائين رعايت رکي وئي آهي، ان ئي مصلحت جي ڪري قرآن کي آهستي آهستي نازل ڪيو ويو تہ جيئن جيڪي ماڻهو سمجهڻ چاهين ٿا، اُهي ان کي چڱيءَ طرح سمجهي وٺن. قرآن آهستي آهستي سندن فڪر ۽ عمل جو جز بڻجي وڃي.

قُلۡ اٰمِنُوۡا بِهٖۤ اَوۡ لَا تُؤۡمِنُوۡا ؕ اِنَّ الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡعِلۡمَ مِنۡ قَبۡلِهٖۤ اِذَا يُتۡلٰى عَلَيۡهِمۡ يَخِرُّوۡنَ لِلۡاَذۡقَانِ سُجَّدًا ۞١٠٧ وَّ يَقُوۡلُوۡنَ سُبۡحٰنَ رَبِّنَاۤ اِنۡ كَانَ وَعۡدُ رَبِّنَا لَمَفۡعُوۡلًا ۞١٠٨ وَ يَخِرُّوۡنَ لِلۡاَذۡقَانِ يَبۡكُوۡنَ وَيَزِيۡدُهُمۡ خُشُوۡعًا ۞١٠٩

چئو تہ توهان ان تي ايمان آڻيو يا ايمان نہ آڻيو، اُهي ماڻهو جن کي ان کان اڳ علم ڏنو ويو هو، جڏهن اهو (قرآن) انهن جي سامهون پڙهيو ويندو آهي تہ هو ڪاڏين ڀر سجدي ۾ ڪِري پوندا آهن ۽ اُهي چوندا آهن تہ اسان جو رب پاڪ آهي. بيشڪ اسان جي رب جو وعدو ضرور پورو ٿيڻو آهي ۽ هو روئيندي ڪاڏين ڀر ڪِرندا آهن ۽ قرآن سندن عاجزي وڌائي ڇڏيندو آهي. ١٠٧ - ١٠٩

---

خدا جو ڪلام انسان کان عاجزي ۽ نوڙت جو تقاضو ڪندو آهي، پر موجوده دنيا ۾ خدا پنهنجو ڪلام پاڻ ٻڌائڻ نہ ٿو اچي. هو هڪ ”انسان“ جي زبان مان پنهنجو ڪلام جاري ڪرائيندو آهي. هاڻي جيڪي ماڻهو پنهنجي اندر تڪبر جي نفسيات رکندا هجن، اُهي اُن جي اڳيان جهڪڻ کي هڪ انسان جي اڳيان جهڪڻ جي هم معنيٰ سمجهي وٺندا آهن ۽ ان ڪري اُن کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندا آهن.

ان جي ابتڙ جيڪي ماڻهو تڪبر جي نفسيات کان خالي هجن، اُهي خدا جي ڪلام کي رڳو خدا جي ڪلام جي حيثيت سان ڏسندا آهن. انهن کي انسان جي زبان مان جاري ٿيڻ واري ڪلام ۾ خدا جون جهلڪيون نظر اچي وينديون آهن. هو ان جي ذريعي خدا سان ڳنڍجي ويندا آهن. هو خدا جي وڏائيءَ جي مقابلي ۾ پنهنجي عاجزي کي ۽ پنهنجي عاجزيءَ جي مقابلي ۾ خدا جي وڏائيءَ کي پائي وٺندا آهن. اهو احساس انهن جي دل کي ڳاري ڇڏيندو آهي. اُهي روئندي روئندي ان جي اڳيان سجدي ۾ ڪري پوندا آهن.

پهرين قسم جي ماڻهن جو مثال قريش جي سردارن جو آهي ۽ ٻئي قسم جي ماڻهن جو مثال اهل ڪتاب جي انهن مؤمنن جو آهي جن اول دور ۾ رسول اللهﷺ تي ايمان آندو هو.

هن آيت ۾ بظاهر اهل ڪتاب جي صالح ٻانهن جو ذڪر آهي، انهن قديم آسماني صحيفن ۾ پڙهيو هو تہ هڪ آخري پيغمبر اچڻ وارو آهي جيڪي ماڻهو ان تي ايمان آڻيندا ۽ ان جو ساٿ ڏيندا تہ اهي خدا جي خاص رحمت جا حقدار قرار ڏنا ويندا. ان سبب جي ڪري اهي آخري نبيﷺ جي انتظار ۾ هئا. اهو انتظار ايترو شديد هو جو جڏهن اهو پيغمبر آيو تہ انهن ڪيس يڪدم سڃاڻي ورتو. انهن جو حال اهو ٿيو جو جڏهن ان پيغمبر جي آندل ڪتاب (قرآن) کي هو پڙهندا هئا تہ احساس جي شدت جي ڪري انهن جي اکين مان لڙڪ جاري ٿي ويندا هئا ۽ هو روئندي روئندي خدا جي آڏو سجدي ۾ ڪري پوندا هئا.

جيئن تہ اهو صرف اهل ڪتاب جي هڪ گروهہ جو معاملو نہ آهي، پر اهو سڀني انسانن جو معاملو آهي. هر انسان جي اندر خدا اڳواٽ حق جي معرفت رکي ڇڏي آهي، ڇڻ تہ هر انسان پهرين کان ئي خدائي سچائيءَ جو منتظر آهي. هاڻي جيڪي ماڻهو پنهنجي فطرت کي زندهہ رکن، انهن جو حال اهڙو ئي ٿيندو، جهڙو سابق اهل ڪتاب جو ٿيو هو. هو پنهنجي فطرت جي زنده شعور جي سبب خدا جي سچائيءَ کي سڃاڻي وٺندا ۽ دل جي پوري آماديءَ سان ان ڏانهن ڊوڙي پوندا.

قُلِ ادْعُوا اللّٰهَ اَوِ ادْعُوا الرَّحْمٰنَ ؕ اَيًّا مَّا تَدْعُوْا فَلَهُ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى ۚ وَ لَا تَجْهَرْ بِصَلَاتِكَ وَ لَا تُخَافِتْ بِهَا وَ ابْتَغِ بَيْنَ ذٰلِكَ سَبِيْلًا ﴿١١٠﴾ وَ قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ لَمْ يَتَّخِذْ وَلَدًا وَّ لَمْ يَكُنْ لَّهٗ شَرِيْكٌ فِي الْمُلْكِ وَ لَمْ يَكُنْ لَّهٗ وَلِيٌّ مِّنَ الذُّلِّ وَ كَبِّرْهُ تَكْبِيْرًا ﴿١١١﴾ ۧ ١٢

چؤ تہ الله چئي پڪاريو يا رحمٰن چئي پڪاريو، جنهن بہ نالي سان پڪاريو، ان لاءِ سڀ سٺا نالا آهن. ۽ تون پنهنجي نماز نہ گهڻي زور سان پڙهہ ۽ نہ بلڪل هوريان پڙهہ. ۽ ٻنهي جو وچٿرو طريقو اختيار ڪر ۽ چؤ تہ سڀئي خوبيون ان الله لاءِ آهن جو نہ اولاد رکي ٿو ۽ نہ بادشاهيءَ ۾ ڪو سندس شريڪ آهي ۽ نہ ڪمزوريءَ جي ڪري ان جو ڪو مددگار آهي ۽ تون سندس خوب وڏائي بيان ڪر. ١١٠-١١١

جيڪي ماڻهو سچائيءَ کي گهرائيءَ سان نٿا سمجهن، اهي هميشه ظاهري شين ۾ منجهيل رهندا آهن. ڪو چوندو آهي ته خدا کي هن لفظ سان پڪارڻ افضل آهي ۽ ڪو چوندو آهي ته هن لفظ سان. ڪو چوندو آهي ته فلاڻو عبادتي عمل زور سان ادا ڪرڻ گهرجي ۽ ڪو چوندو آهي ته آهستي.

عرب ۾ به اهڙي قسم جا بحث مختلف انداز ۾ جاري هئا. فرمايو ويو ته خدا کي جنهن سٺي نالي سان پڪاريو، اهوئي ان جو نالو آهي. اهڙي طرح عبادت جي باري ۾ فرمايو ويو ته خدا جي عبادت جي ادائگيءَ جو دارومدار نه زور سان ڳالهائڻ ۾ آهي ۽ نه هوريان ڳالهائڻ ۾. توهان عبادت جو اصل روح پنهنجي اندر پيدا ڪريو ۽ ان جي ادائگيءَ ۾ اعتدال کان ڪم وٺو.

عبادت جو روح اهو آهي ته الله جي وڏائيءَ جو ڪامل احساس ماڻهوءَ جي اندر پيدا ٿي وڃي. الله تي ايمان ان لاءِ اهڙي ڪامل ۽ عظيم هستيءَ جي دريافت جي هم معنيٰ بڻجي وڃي، جنهن کي ڪنهن کان مدد وٺڻ جي ضرورت نه هجي. جنهن جو ڪو شريڪ ۽ برابر نه هجي. جنهن تي ڪڏهن به ڪو اهڙو حادثو نه گذري جو هو ڪنهن جي مدد جو محتاج هجي. اها معرفت جڏهن لفظن جي صورت ۾ زبان مان نڪرڻ لڳي ته ان جو نالو ئي تڪبير آهي.

آياتها ١١٠ (١٨) سُوْرَةُ الْكَهْفِ مَكِّيَّةٌ (٦٩) رکوعاتها ١٢

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ عَلٰى عَبْدِهِ الْكِتٰبَ وَلَمْ يَجْعَلْ لَّهٗ عِوَجًا ۞١ قَيِّمًا لِّيُنْذِرَ بَاْسًا شَدِيْدًا مِّنْ لَّدُنْهُ وَيُبَشِّرَ الْمُؤْمِنِيْنَ الَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ اَجْرًا حَسَنًا ۞٢ مَّاكِثِيْنَ فِيْهِ اَبَدًا ۞٣ وَّيُنْذِرَ الَّذِيْنَ قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا ۞٤ مَا لَهُمْ بِهٖ مِنْ عِلْمٍ وَّلَا لِاٰبَآئِهِمْ ؕ كَبُرَتْ كَلِمَةً تَخْرُجُ مِنْ اَفْوَاهِهِمْ ؕ اِنْ يَّقُوْلُوْنَ اِلَّا كَذِبًا ۞٥

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

سڀ تعريف الله جي لاءِ آهي جنهن پنهنجي ٻانهي تي ڪتاب نازل ڪيو ۽ ان ۾ ڪو ڏنگ (وروڪڙ) نه رکيائين بلڪل سڌو، ته جيئن هو الله وٽان هڪ سخت عذاب کان آگاهه ڪري ڇڏي ۽ ايمان وارن کي خوشخبري ڏئي ڇڏي. جيڪي نيڪ عمل ڪندا آهن انهن لاءِ ڀلو اجر آهي، هو ان ۾ هميشه رهندا ۽ انهن ماڻهن کي ڊيڄاري ڇڏ جيڪي چوندا آهن ته الله پٽ ورتو آهي. انهن کي هن ڳالهه جو ڪو علم نه آهي ۽ نه سندن ابن ڏاڏن کي. اها وڏي ڳري ڳالهه آهي جيڪا سندن واتان نڪري ٿي اهي رڳو ڪوڙ ڳالهائين ٿا. ١-٥

---

قرآن اڳين آسماني ڪتابن جو درست ٿيل ايڊيشن آهي. اڳين ڪتابن ۾ ايئن ٿيو جو بعد ۾ اچڻ وارن ماڻهن اجايو غور و خوص ڪري خدائي تعليم کي ڏکيو بڻائي ڇڏيو، پيو اهو ته هٿ ٺوڪيل تشريحن جي ذريعي بنيادي تعليم کي ڦيري ڇڏيو ۽ اهڙي طرح ان جي رخ کي بدلايو ويو. قرآن ان پنهي

قسم جي انساني ملاوٽن کان پاڪ آهي. ان ۾ هڪ پاسي اصل دين پنهنجي فطري سادگي سان گڏ موجود آهي، ٻي طرف ان جو رخ سڌو خدا ڏانهن آهي جيئن حقيقت جي لحاظ کان هئڻ گهرجي.

خدا اهو اهتمام ڇو ڪيو جو هو دنيا وارن وٽ پنهنجو ڪتاب موڪلي. ان جو مقصد ماڻهن کي خدا جي منصوبي کان آگاهه ڪرڻو آهي. الله انسان کي هن دنيا ۾ امتحان جي غرض سان آباد ڪيو آهي، ان کان پوءِ هو هر هڪ جو حساب وٺندو ۽ هر هڪ کي ان جي عمل جي مطابق يا ته جهنم ۾ وجهندو يا جنت جي هميشه وارن باغن ۾ آباد ڪندو، الله چاهي ٿو ته هر ماڻهو موت کان پهرين ان مسئلي کان باخبر ٿي وڃي، ته جيئن ڪنهن جي لاءِ ڪو عذر باقي نه رهي.

دنيا ۾ انسان جي گمراهي جو هڪڙو ئي سبب آهي، اُهو اِهو ته هو الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي پنهنجو سهارو بڻائي وٺندو آهي، ان جي هڪ شرمناڪ صورت ڪنهن کي الله جو پٽ فرض ڪري وٺڻ آهي، پر ان قسم جو هر عقيدو رڳو هڪ ڪوڙ آهي، ڇاڪاڻ ته زمين ۽ آسمان ۾ الله کان سواءِ ڪير به نه آهي جنهن کي ڪنهن قسم جو ڪو اختيار حاصل هجي.

فَلَعَلَّكَ بَاخِعٌ نَّفْسَكَ عَلٰٓى اٰثَارِهِمْ اِنْ لَّمْ يُؤْمِنُوْا بِهٰذَا الْحَدِيْثِ اَسَفًا ۝٦ اِنَّا جَعَلْنَا مَا عَلَى الْاَرْضِ زِيْنَةً لَّهَا لِنَبْلُوَهُمْ اَيُّهُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ۝٧ وَاِنَّا لَجٰعِلُوْنَ مَا عَلَيْهَا صَعِيْدًا جُرُزًا ۝٨

شايد تون انهن جي غم ۾ پاڻ کي هلاڪ ڪري وجهين، جيڪڏهن هو هن ڳالهه تي ايمان نه ٿا آڻين. جيڪو ڪجهه زمين ۾ آهي اسان ان کي زمين جي رونق بڻايو آهي، ته جيئن اسان ماڻهن کي آزمايون ته انهن مان ڪير چڱا عمل ڪرڻ وارو آهي ۽ اسان زمين جي سيني شين کي هڪ صاف ميدان بڻائي ڇڏينداسون. ٦-٨

---

شايد تون پاڻ کي هلاڪ ڪري وجهين اهو جملو ٻڌائي ٿو ته داعي جيڪڏهن دعوت جي معاملي ۾ سنجيده هجي ته شديد احساس جي ڪري ان جو ڪهڙو حال ٿي ويندو آهي. حقيقت اِها آهي ته حق جي دعوت جي تڪميل ان انتها تي پهچي ٿيندي آهي. جڏهن ايئن ٿيو وڃي ته داعي شايد ان غم ۾ پاڻ کي هلاڪ ڪري ڇڏيندو، ڇاڪاڻ ته ماڻهو حق جي دعوت کي قبول نه ڪري رهيا آهن.

هڪ دعوت جيڪا دليل جي لحاظ کان انتهائي واضح هجي، جنهن کي پيش ڪرڻ وارو درمندي جي آخري حد تي پهچي، ان کي ماڻهن لاءِ سنجيده غور ۽ فڪر جو موضوع بڻائي ڇڏي. ان جي باوجود ماڻهو ان کي نه مڃين ته ان نه مڃڻ جو سبب ڇا هوندو آهي؟ ان جو سبب دنيا جون رونقون آهن. موجوده دنيا ايتري پرڪشش آهي جو ماڻهو ان کان توجهه نه ٿو هٽائي سگهي، ان ڪري هو اهڙي دعوت جي اهميت کي سمجهي نه ٿو سگهي جيڪا ان جي توجهه کي نظر اچڻ واري دنيا کان هٽائي ان دنيا ڏانهن وٺي وڃي رهي آهي جنهن جون رونقون بظاهر ڏسڻ ۾ نه ٿيون اچن.

پر زمين جون رونقون انتهائي عارضي آهن، اهي امتحان جي هڪ مقرر مدت تائين آهن. ان کان پوءِ زمين جي اها حيثيت ختم ڪئي ويندي، ايستائين جو اها رڻ وانگر رڳو هڪ خشڪ ميدان رهجي ويندين.

اَمۡ حَسِبۡتَ اَنَّ اَصۡحٰبَ الۡكَهۡفِ وَ الرَّقِيۡمِ ۙ كَانُوۡا مِنۡ اٰيٰتِنَا عَجَبًا ﴿۹﴾ اِذۡ اَوَى الۡفِتۡيَةُ
اِلَى الۡكَهۡفِ فَقَالُوۡا رَبَّنَاۤ اٰتِنَا مِنۡ لَّدُنۡكَ رَحۡمَةً وَّ هَيِّئۡ لَنَا مِنۡ اَمۡرِنَا رَشَدًا ﴿۱۰﴾ فَضَرَبۡنَا
عَلٰۤى اٰذَانِهِمۡ فِى الۡكَهۡفِ سِنِيۡنَ عَدَدًا ﴿ۙ۱۱﴾ ثُمَّ بَعَثۡنٰهُمۡ لِنَعۡلَمَ اَىُّ الۡحِزۡبَيۡنِ اَحۡصٰى لِمَا
لَبِثُوۡۤا اَمَدًا ﴿۱۲﴾ ع ١٢

ڇا تون پائنئين ٿو تہ ڪهف ۽ رقيم وارا اسان جي نشانين مان عجيب نشانين مان هئا. جڏهن انهن نوجوانن غار ۾ پناهہ ورتي پوءِ انهن چيو تہ اي اسان جا رب! اسان کي پاڻ وٽان رحمت ڏي ۽ اسان جي معاملي کي درست ڪري ڇڏ. پوءِ اسان غار ۾ سندن ڪنن تي ڪيترائي ورهيہ (ننڊ جو پردو) وجهي ڇڏيو. پوءِ اسان انهن کي اٿاريو، تہ جيئن اسان معلوم ڪريون تہ ٻنهي ٽولن مان ڪنهن کي قيام جي مدت ياد آهي. ٩-١٢

---

اصحاب ڪهف جو واقعو هڪ علامتي واقعو آهي. جيڪو ٻڌائي ٿو تہ سچي ايمان وارن جي زندگي ۾ ڪهڙي قسم جا مرحلا پيش ايندا آهن. ان مان معلوم ٿيندو آهي تہ اهل ايمان ڪڏهن ڪڏهن شديد حالتن جي ڪري ڪنهن ”غار“ ۾ پناهہ وٺڻ تي مجبور ٿي ويندا آهن. پر جيڪا غار بظاهر انهن جي لاءِ هڪ قبر هئي، اُتان زندگي ۽ جهد جو هڪ نئون سيلاب ڦٽي پوي ٿو. مخالفن جتي سندن تاريخ ختم ڪرڻ پئي چاهي، اتان ئي ٻيهر انهن لاءِ هڪ نئين تاريخ شروع ٿي ويندي آهي.

ڪهف وارا جيڪڏهن اُهي ئي آهن جيڪي مسيحي تاريخ ۾ ست سمهڻ وارا (Seven Sleepers) چيا ويندا آهن تہ اهو قصو شهر افيسس (Ephesus) سان تعلق رکي ٿو. اهو قديم زماني جو هڪ مشهور شهر آهي، جيڪو ترڪي جي اولهندي ڪناري تي واقع هو ۽ جنهن جا عظيم ڪنڊرات اڄ بہ اتي موجود آهن. ٢٤٩-٢٥١ع ۾ ان علائقي ۾ رومي بادشاهہ ڊسيس (Desius) جي حڪومت هئي، هتي بت پرستي جو زور هو ۽ چند ڪي معبود قرار ڏئي ان جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. ان زماني ۾ حضرت مسيح جي ابتدائي پيروي ڪرڻ وارن جي ذريعي هتي توحيد جي دعوت پهتي ۽ ڦهلجڻ لڳي. رومي بادشاهہ جيڪو پاڻ بہ بت پرست هو توحيد جي مذهب جي اشاعت کي برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ حضرت مسيح جي پيروي ڪرڻ وارن تي سختيون ڪرڻ لڳو. مٿي ذڪر ڪيل اصحاب ڪهف افيسس جي اعليٰ گهراڻن جا ست نوجوان هئا جن غالباً ٢٥٠ع ۾ توحيد وارو مذهب قبول ڪري ورتو ۽ ان جي تبليغ ڪرڻ وارا بڻجي ويا. حڪومت طرفان انهن کي پڪڙڻ جي ڪوشش ٿي تہ هو شهر مان نڪري هڪ جبل ڏانهن هليا ويا ۽ اتي هڪ وڏي غار ۾ لڪي پيا.

اصحاب رقيم گهڻو ڪري انهن ئي اصحاب ڪهف جو ٻيو نالو آهي. رقيم جي معنيٰ مرقوم آهي، يعني لکيل شيءِ. چيو وڃي ٿو تہ اعليٰ خاندانن جا ست نوجوان جڏهن گم ٿي ويا تہ بادشاهہ جي حڪم سان انهن جا نالا ۽ احوال هڪ لوهہ جي تختي تي لکي شاهي خزاني ۾ رکيا ويا، ان ڪري انهن جو ٻيو نالو اصحاب رقيم (تختي وارا) پئجي ويو. (تفسير ابن ڪثير، جز ٽيون ص ٧٣)

نَحۡنُ نَقُصُّ عَلَيۡكَ نَبَاَهُمۡ بِالۡحَقِّ ؕ اِنَّهُمۡ فِتۡيَةٌ اٰمَنُوۡا بِرَبِّهِمۡ وَ زِدۡنٰهُمۡ هُدًى ﴿ۖۗ۱۳﴾ وَّ

رَبَطۡنَا عَلٰی قُلُوۡبِهِمۡ اِذۡ قَامُوۡا فَقَالُوۡا رَبُّنَا رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ لَنۡ نَّدۡعُوَا۠ مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اِلٰـهًا لَّقَدۡ قُلۡنَاۤ اِذًا شَطَطًا ﴿۱۴﴾ هٰۤؤُلَآءِ قَوۡمُنَا اتَّخَذُوۡا مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اٰلِهَةً ؕ لَوۡ لَا یَاۡتُوۡنَ عَلَیۡهِمۡ بِسُلۡطٰنٍۭ بَیِّنٍ ؕ فَمَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنِ افۡتَرٰی عَلَی اللّٰهِ کَذِبًا ﴿ؕ۱۵﴾

اسان توکي سندن اصل قصو ٻڌايون ٿا. اُهي ڪجھ نوجوان هئا جن پنهنجي رب تي ايمان آندو هو ۽ اسان کين هدايت ۾ وڌايو هو ۽ اسان سندن دلين کي مضبوط ڪيو هو. جڏهن هو اٿيا ۽ چيائون ته اسان جو رب اُهوئي آهي جيڪو آسمانن ۽ زمين جو رب آهي، اسان ان کان سواءِ ڪنهن ٻئي معبود کي نه پڪاريندا سون. جيڪڏهن اسان ايئن ڪريون ته اسان نهايت بيجا ڳالھ چونداسون. اسان جي هن قوم الله کان سواءِ ٻيا معبود ورتا آهن. اُهي انهن جي حق ۾ ڪو واضح دليل ڇو نه ٿا آڻين. پوءِ ان شخص کان وڌو ظالم ٻيو ڪير هوندو جيڪو الله تي ڪوڙ گهڙي. ١٣-١٥

---

”اهي ماڻهو واضح دليل ڇو نه ٿا آڻين.“ هن جملي مان اندازو ٿئي ٿو ته ايمان آڻڻ کان پوءِ انهن نوجوانن ۽ قوم جي وڏن ماڻهن جي وچ ۾ هڪ عرصي تائين بحث ۽ گفتگو ٿيندي رهي، پر ان وچ ۾ انهن وڏن طرفان جيڪي ڳالهيون چيون ويون، انهن ۾ شرڪ جي حق ۾ ڪوبه پڌرو دليل نه هو. ان تجربي انهن توحيد پرست نوجوانن جي يقين کي اڃا وڌيڪ پختو ڪري ڇڏيو. انهن لاءِ ناممڪن ٿي ويو ته هو ثابت نه ٿيل شيءِ جي لاءِ ثابت ٿيل شيءِ کي ڇڏي ڏين.

متي ذڪر ڪيل مخالفت کان پوءِ جيڪڏهن هو وڏن جي وڏائي کي اهميت ڏين ها ته هو بي يقيني ۽ مونجهاري جو شڪار ٿي وڃن ها. پر جڏهن انهن دليل ۽ برهان کي اهميت ڏني ته ان سندن يقين ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته دليل ۽ برهان جي لحاظ کان اهي وڏا انهن کي بلڪل ننڍا نظر آيا. پنهنجي سڄي ظاهري عظمت جي باوجود اُهي ماڻهو ڪوڙ جي زمين تي بيٺل نظر آيا نه ورري سچ جي زمين تي.

وَ اِذِ اعۡتَزَلۡتُمُوۡهُمۡ وَ مَا یَعۡبُدُوۡنَ اِلَّا اللّٰهَ فَاۡوٗۤا اِلَی الۡکَهۡفِ یَنۡشُرۡ لَکُمۡ رَبُّکُمۡ مِّنۡ رَّحۡمَتِهٖ وَ یُهَیِّیۡٔ لَکُمۡ مِّنۡ اَمۡرِکُمۡ مِّرۡفَقًا ﴿۱۶﴾

۽ جڏهن اوهان انهن ماڻهن کان الڳ ٿي ويا آهيو ۽ سندن معبودن کان جن جي هو الله کان سواءِ عبادت ڪندا آهن ته هاڻي هلي غار ۾ پناهه وٺو. توهان جو رب توهان جي مٿان پنهنجي رحمت ڪشادي ڪندو ۽ توهان جي ڪم ۾ سولائي موجود ڪندو. ١٦

---

ٻانهو جڏهن حق جي لاءِ انسانن کان جدا ٿيندو آهي ته بلڪل ان ئي وقت هو الله سان جڙي ويندو آهي. ايستائين جو هو پنهنجي رب کي ايترو ويجهو ٿي ويندو جو سندس سرگوشون رب سان شروع ٿي وينديون آهن. هو پنهنجي رب سان ڪلام ڪندو آهي ۽ ان کان ان جو جواب لهندو آهي.

اصحاب ڪهف جو يقين، سندن بي خوف تبليغ، انهن جو سڀ ڪجھ ڇڏڻ تي راضي ٿي وڃڻ، پر حق کي نه ڇڏڻ، انهن شين انهن کي الله جي قرب جو اعليٰ مقام عطا ڪري ڇڏيو هو. اُهي بظاهر

جيڪو ڪجهه وڃائي رهيا هئا. ان ڪان وڌي شيءِ انهن لاءِ اُها هئي جنهن کي اُنهن حاصل ڪيو هو. اِهو ئي پائڻ جو اُهو احساس هو جنهن کين راضي ڪيو ته هو هر ٻي شيءِ کان محروم ٿيڻ گوارا ڪري وٺن، پر حق کان محرومي کي گوارا نه ڪن. هو ان تي راضي ٿي ويا جو هو پنهنجا گهر ۽ شهر ڇڏي غار ۾ هليا وڃن ۽ پوءِ به انهن جي اها اميد باقي رهي ته سندن الله ضرور سندن مدد ڪندو ۽ سندن حالت درست ڪري ڇڏيندو.

ابن جرير عطا جو قول نقل ڪيو آهي ته انهن جو تعداد ست هو. هو غار ۾ داخل ٿي عبادت ڪندا هئا ۽ روئندي الله کان مدد گهرندا هئا (تفسير ابن ڪثير)، ايستائين جو الله انهن تي ننڊ طاري ڪري ڇڏي.

وَ تَرَى الشَّمۡسَ اِذَا طَلَعَتۡ تَّزٰوَرُ عَنۡ كَهۡفِهِمۡ ذَاتَ الۡيَمِيۡنِ وَ اِذَا غَرَبَتۡ تَّقۡرِضُهُمۡ ذَاتَ الشِّمَالِ وَ هُمۡ فِیۡ فَجۡوَةٍ مِّنۡهُ ؕ ذٰلِكَ مِنۡ اٰيٰتِ اللّٰهِ ؕ مَنۡ يَّهۡدِ اللّٰهُ فَهُوَ الۡمُهۡتَدِ ۚ وَ مَنۡ يُّضۡلِلۡ فَلَنۡ تَجِدَ لَهٗ وَلِيًّا مُّرۡشِدًا ﴿١٧﴾

۽ تون سج کي اڀرندي ڏسين ته (اُس) سندن غار کان ساڄي پاسي لڙندي آهي ۽ جڏهن لهي ته سندن کاٻي پاسي مڙندي آهي ۽ اُهي غار جي اندر هڪ وسيع جاءِ ۾ آهن. اها الله جي نشانين مان آهي جنهن کي الله هدايت ڏي اُهو ئي هدايت پائڻ وارو آهي ۽ جنهن کي الله ٻي راهه ڪري ڇڏي ته تون ان لاءِ ڪو مددگار، راهه ڏيکاريندڙ نه لهندين. ١٧

---

دعوت ڏيڻ واري دور ۾ جڏهن اصحاب ڪهف ۽ سندن قوم جي ماڻهن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌي، ان وچ ۾ انهن امڪاني انديشي جي پيش نظر هڪ خاص غار جو انتخاب ڪري ورتو هو. اها غار ايتري وسيع هئي جو ست ماڻهو آساني سان ان جي اندر قيام ڪري سگهن. شايد اها اُتر جي رخ ۾ هئي. ان ڪري سج جي روشني صبح ۽ شام جي ڪنهن به وقت سڌي ريت ان جي اندر نه پهچندي هئي ۽ اتان لنگهندڙ ڪو ماڻهو ٻاهران ڏسي اهو نه پئي ڄاڻي سگهيو ته ان جي اندر ڪجهه انسان موجود آهن.

جڏهن ماڻهو حق جي معاملي ۾ مصلحت جو رويو اختيار نه ڪري ۽ مشڪل ترين حالتن ۾ به هو صبر ۽ شڪر سان گڏ الله ڏانهن متوجهه رهي ته الله ان جي اهڙن رستن ڏانهن رهنمائي ڪندو آهي جو سندس ايمان به محفوظ رهي ۽ هو پنهنجي دعوتي مشن کي به هٿان نه وڃائي. اها مدد اصحاب ڪهف کي سندن خاص حالتن جي لحاظ کان پوري طرح حاصل ٿي هئي.

الله انهن کي پنهنجي خاص ڪم لاءِ چونڊي ورتو. انهن جنهن روحاني بلندي جو ثبوت ڏنو هو، ان ڪان پوءِ هو الله جي نظر ۾ ان قابل ٿي ويا هئا جو انهن کي موت کان پوءِ زندگي جو ظاهري ثبوت بڻايو وڃي. اصحاب ڪهف جو ٽي سؤ سالن تائين سمهي پيهر اٿڻ ان ئي نوعيت جو هڪ واقعو آهي.

وَ تَحۡسَبُهُمۡ اَيۡقَاظًا وَّ هُمۡ رُقُوۡدٌ ۖۗ وَّ نُقَلِّبُهُمۡ ذَاتَ الۡيَمِيۡنِ وَ ذَاتَ الشِّمَالِ ۖۗ وَ كَلۡبُهُمۡ بَاسِطٌ ذِرَاعَيۡهِ بِالۡوَصِيۡدِ ؕ لَوِ اطَّلَعۡتَ عَلَيۡهِمۡ لَوَلَّيۡتَ مِنۡهُمۡ فِرَارًا وَّ لَمُلِئۡتَ مِنۡهُمۡ رُعۡبًا ﴿١٨﴾

۽ تون انهن کي ڏسي اهو ڀائيندين تہ هو جاڳندڙ آهن، حالانڪ اُهي ستل آهن. اسان انهن کي ساڄي ۽ کاٻي
پاسي ورائيندا هئاسون ۽ سندن ڪتو چائنٺ وٽ پير پکيڙي ويٺو هو. جيڪڏهن تون جهاتي پائي ڏسين ها تہ
پُٺ ڏئي ڀڄي نڪرين ها ۽ توتي تنهنجي اندر انهن جي هيبت طاري ٿي وڃي ها. ١٨

الله تعاليٰ هڪ پاسي ايئن ڪيو جو اصحاب ڪهف تي مسلسل ننڊ طاري ڪري ڇڏي ۽ سندن حفاظت لاءِ مختلف انتظام ڪيا. مثال طور اُهي برابر پاسا ورائيندا رهيا. ڇاڪاڻ حضرت ابن عباس رضي الله عنه جي لفظن ۾ جيڪڏهن ايئن نہ هجي ها تہ سندن جسم کي زمين کائي وڃي ها. سندن غار جي منهن تي هڪ ڪتو مسلسل ويٺو رهيو. اهو ان لاءِ هو جو ڪو انسان يا جانور اندر داخل نہ ٿي سگهي. وڌيڪ اهو تہ غار جي اندر الله اهڙو هيبت جو ماحول بڻائي ڇڏيو هو جو ڪو شخص جيڪڏهن جهاتي پائڻ جي ڪوشش ڪري تہ ڦرين ئي نظر ۾ دهشت کائي ڀڄي وڃي.

وَ كَذٰلِكَ بَعَثۡنٰهُمۡ لِيَتَسَآءَلُوۡا بَيۡنَهُمۡ ؕ قَالَ قَآئِلٌ مِّنۡهُمۡ كَمۡ لَبِثۡتُمۡ ؕ قَالُوۡا لَبِثۡنَا
يَوۡمًا اَوۡ بَعۡضَ يَوۡمٍ ؕ قَالُوۡا رَبُّكُمۡ اَعۡلَمُ بِمَا لَبِثۡتُمۡ ؕ فَابۡعَثُوۡۤا اَحَدَكُمۡ بِوَرِقِكُمۡ هٰذِهٖۤ
اِلَى الۡمَدِيۡنَةِ فَلۡيَنۡظُرۡ اَيُّهَاۤ اَزۡكٰى طَعَامًا فَلۡيَاۡتِكُمۡ بِرِزۡقٍ مِّنۡهُ وَ لۡيَتَلَطَّفۡ وَ لَا يُشۡعِرَنَّ
بِكُمۡ اَحَدًا ﴿۱۹﴾ اِنَّهُمۡ اِنۡ يَّظۡهَرُوۡا عَلَيۡكُمۡ يَرۡجُمُوۡكُمۡ اَوۡ يُعِيۡدُوۡكُمۡ فِىۡ مِلَّتِهِمۡ وَ لَنۡ
تُفۡلِحُوۡۤا اِذًا اَبَدًا ﴿۲۰﴾

۽ اهڙي طرح اسان انهن کي جاڳايو، تہ جيئن هو پاڻ ۾ پڇا ڳاڇا ڪن. انهن مان هڪ چوڻ واري چيو توهان ڪيتري
دير هتي ترسيا آهيو. انهن چيو تہ اسان هڪ ڏينهن يا هڪ ڏينهن کان بہ گهٽ ترسيا هونداسون. انهن چيو تہ الله ئي
بهتر ڄاڻي ٿو تہ توهان ڪيتري دير هتي رهيا آهيو. هاڻي پاڻ مان ڪنهن کي هي چاندي جو سڪو ڏئي شهر
موڪليو. پوءِ هو ڏسي تہ سٺو طعام ڪٿان ملندو آهي ۽ توهان لاءِ ان مان ڪجھ کاڌو آڻي ۽ هو نرمي سان وڃي ۽
ڪنهن کي بہ توهان جي خبر نہ ٿيڻ ڏي. جيڪڏهن انهن کي توهان جي خبر پئجي وئي تہ توهان کي پٿرن سان ماري
ڇڏيندا يا توهان کي پنهنجي دين ۾ موٽائيندا ۽ پوءِ توهان ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿيندو. ١٩-٢٠

اصحاب ڪهف جڏهن سمهي اٿيا تہ هو پاڻ ۾ ذڪر ڪرڻ لڳا تہ اُهي ڪيتري وقت تائين ستل رهيا. پر زمانو الله جي حڪم تحت سندن لاءِ بيهي رهيو هو. ان ڪري جيڪو وقت ٻين لاءِ صدين تي پکيڙيل هو. اهو اصحاب ڪهف کي رڳو هڪ ڏينهن جي برابر لڳو.

سمهي اٿڻ کان پوءِ انهن کي بک جو احساس ٿيو. انهن وٽ ڪجھ چاندي جا سڪا هئا. انهن پاڻ مان هڪ ماڻهو کي هڪ سڪو ڏئي موڪليو. انهن جو خيال هو تہ شهر جي ڪن حصن ۾ عيسائي آباد هوندا اُتي حلال کاڌو ملي سگهندو. ان ڪري انهن چيو تہ تلاش ڪري سٺو، پاڪ کاڌو وٺي اچجانءِ ۽ انهن تاڪيد ڪئي تہ سڄو معاملو نهايت هوشياري سان انجام ڏجانءِ. ڇاڪاڻ تہ پوئين تجربي جي آڌار تي کين انديشو هو تہ جيڪڏهن اُهي ماڻهو اسان کان باخبر ٿي ويا تہ هو اسان کي ٻيهر بت پرست بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ جڏهن اسان راضي نہ ٿينداسون تہ هو اسان کي ماري ڇڏيندا.

وَ كَذٰلِكَ اَعۡثَرۡنَا عَلَيۡهِمۡ لِيَعۡلَمُوۡۤا اَنَّ وَعۡدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّ اَنَّ السَّاعَةَ لَا رَيۡبَ فِيۡهَا ۚ اِذۡ
يَتَنَازَعُوۡنَ بَيۡنَهُمۡ اَمۡرَهُمۡ فَقَالُوا ابۡنُوۡا عَلَيۡهِمۡ بُنۡيَانًا ؕ رَبُّهُمۡ اَعۡلَمُ بِهِمۡ ؕ قَالَ
الَّذِيۡنَ غَلَبُوۡا عَلٰۤى اَمۡرِهِمۡ لَنَتَّخِذَنَّ عَلَيۡهِمۡ مَّسۡجِدًا ﴿۲۱﴾

۽ اهڙي طرح اسان انهن بابت ماڻهن کي خبردار ڪري ڇڏيو، ته جيئن ماڻهو ڄاڻي وٺن ته الله جو واعدو سچو آهي. ۽ اهو ته قيامت ۾ ڪو شڪ نه آهي. جڏهن ماڻهو پاڻ ۾ ان معاملي ۾ جهڳڙو ڪري رهيا هئا پوءِ چوڻ لڳا ته انهن جي غار تي هڪ عمارت بنائي ڇڏيو سندن رب انهن کي خوب ڄاڻي ٿو، جيڪي ماڻهو انهن جي معاملي ۾ غالب ٿيا، تن چيو ته اسان انهن جي غار تي هڪ عبادت جي جاءِ ٺاهينداسون. ٢١

---

انسان سؤ سال يا ان کان به گهٽ وقت موجوده زمين تي زندگي گذاري مري ويندو آهي. بظاهر ايئن لڳندو آهي ته هو هميشه لاءِ ختم ٿي ويو. پر حقيقت اها آهي ته هو مري به باقي رهندو آهي ۽ ٻيهر هڪ نئين دنيا ۾ اٿندو آهي، جتي ان جي لاءِ يا ته ابدي راحت آهي يا ته هميشه جو عذاب.

اهو انسان جو سڀ کان وڏيک سنگين مسئلو آهي ۽ ان تي ماڻهن جي وچ ۾ هميشه کان بحث جاري رهيو آهي. اُنهيءَ ڪري الله ايئن ڪيو جو عقلي دليل سان گڏ ان جي حق ۾ هڪ ظاهري دليل جو به انتظام فرمايو، ته جيئن ”موت کان پوءِ زندگي“ جي معاملي ۾ ڪنهن جي لاءِ به ان جي گنجائش باقي نه رهي. مختلف زمانن ۾ اها ظاهري دليل مختلف انداز ۾ ڏيکاري وئي آهي، پنجين صدي عيسوي ۾ اصحاب ڪهف جو ”موت“ کان پوءِ ٻيهر غار مان نڪرڻ ان ئي قسم جو هڪ غيرمعمولي واقعو هو. موجوده زماني ۾ فطرت کان مٿي واري سائنس (Meta Science) جي تحقيق به ان ئي نوعيت جو مثال آهي، جنهن ۾ موت کان پوءِ زندگي جو نظريو دليل سان ثابت ٿيندو آهي.

اصحاب ڪهف به سؤ سال (يا ان کان به گهٽي وقت کان پوءِ) جڏهن غار مان نڪتا ته انهن جي شهر جي دنيا بلڪل بدلجي چڪي هئي، تقريباً ٢٥٠ع ۾ هو پنهنجي شهر افيسس مان نڪري غار ۾ ويا هئا، ان وقت ان علائقي ۾ بت پرست بادشاهه ڊيسيس جي حڪومت هئي، ان وچ ۾ مسيحي مبلغن جي ڪوشش سان رومي بادشاهه قسطنطين (٣٣٧-٢٧٢) عيسائي ٿي ويو ۽ ان کان پوءِ سڄي رومي علائقي ۾ عيسائي مذهب ڦهلجي ويو. ٤٤٧ع ۾ جڏهن اصحاب ڪهف ٻيهر پنهنجي شهر ۾ واپس آيا ته سندن شهر ۾ عيسائيت جو غلبو ٿي چڪو هو.

جڏهن اهي ست ئي نوجوان غار مان ٻاهر آيا ۽ شاهي خزاني ۾ محفوظ سندن نالن واري تختي ۽ ٻين ثبوتن سان تصديق ٿي وئي ته هي اُهي ئي نوجوان آهن جيڪي بت پرستي جي دور ۾ پنهنجي مسيحي عقيدي جي ڪري شهر ڇڏي هليا ويا هئا ته هو يڪدم ماڻهن جي عقيدت جو مرڪز بڻجي ويا. نئون رومي بادشاهه ٿيوڊوسيس پاڻ انهن سان ملڻ ۽ انهن کان دعا وٺڻ لاءِ پنڌ هلي انهن وٽ آيو ۽ جڏهن انهن نوجوانن جو انتقال ٿيو ته انهن جي يادگار طور سندن غار جي مٿان عبادت گاهه تعمير ڪئي ويئي.

سَيَقُوۡلُوۡنَ ثَلٰثَةٌ رَّابِعُهُمۡ كَلۡبُهُمۡ ۚ وَ يَقُوۡلُوۡنَ خَمۡسَةٌ سَادِسُهُمۡ كَلۡبُهُمۡ رَجۡمًۢا بِالۡغَيۡبِ ۚ

وَ يَقُوۡلُوۡنَ سَبۡعَةٌ وَّ ثَامِنُهُمۡ كَلۡبُهُمۡ ؕ قُلۡ رَّبِّىۡۤ اَعۡلَمُ بِعِدَّتِهِمۡ مَّا يَعۡلَمُهُمۡ اِلَّا قَلِيۡلٌ ۙ۬
ع ١٥ فَلَا تُمَارِ فِيۡهِمۡ اِلَّا مِرَآءً ظَاهِرًا ۖ وَّ لَا تَسۡتَفۡتِ فِيۡهِمۡ مِّنۡهُمۡ اَحَدًا ﴿٢٢﴾

ڪجهه ماڻهو چوندا ته اُهي ٽي هئا ۽ چوٿون سندن ڪتو هو ۽ ڪي ماڻهو چوندا ته اهي پنج هئا ۽ ڇهون سندن ڪتو هو. اهي ماڻهو تحقيق ڪان سواءِ ڳالهيون ڪري رهيا آهن ۽ ڪي ماڻهو چوندا ته اهي ست هئا ۽ اٺون سندن ڪتو هو. چئو ته منهنجو رب ئي بهتر ڄاڻي ٿو ته اهي ڪيترا هئا، ٿورائي ماڻهو انهن کي ڄاڻندا آهن، تنهن ڪري تون سرسري ڳالهه ڪان وڌيڪ ان معاملي ۾ بحث نه ڪر ۽ نه انهن جي باري ۾ انهن مان ڪنهن کان پڇ. ٢٢

---

اصحاب ڪهف جي باري ۾ ڪجهه ماڻهو غيرضروري بحث ۾ مبتلا هئا. ڪنهن چيو انهن جي تعداد ٽي هئي ۽ چوٿون سندن ڪتو هو، ڪنهن چيو اهي پنج هئا ۽ ڇهون سندن ڪتو هو، ڪنهن چيو اُهي ست هئا ۽ اٺون سندن ڪتو هو.

پر اهڙي قسم جا بحث مزاج جي خرابي جي علامت هوندا آهن. جڏهن دين جو روح زنده هجي ته سڄو زور اصل حقيقت تي ڏنو ويندو آهي ۽ جڏهن قوم تي زوال ايندو آهي ته اصل روح گم ٿي ويندو آهي ۽ ظاهري تفصيل بحث ۽ مناظري جو موضوع بڻجي ويندا آهن، سچي خدا پرست کي گهرجي ته هو انهن بحثن ۾ نه پئي، بلڪ جيڪڏهن ڪو ٻيو شخص اهڙي قسم جا سوال ڪري ته ان کي مختصر جواب ڏئي پاسو ڪري.

وَ لَا تَقُوۡلَنَّ لِشَاۡىۡءٍ اِنِّىۡ فَاعِلٌ ذٰلِكَ غَدًا ﴿٢٣﴾ اِلَّاۤ اَنۡ يَّشَآءَ اللّٰهُ ۫ وَ اذۡكُرۡ رَّبَّكَ اِذَا نَسِيۡتَ
وَ قُلۡ عَسٰٓى اَنۡ يَّهۡدِيَنِ رَبِّىۡ لِاَقۡرَبَ مِنۡ هٰذَا رَشَدًا ﴿٢٤﴾

۽ تون ڪنهن ڪم بابت ائين نه چوندو ڪر ته آئون ان کي سڀاڻي ڪري ڇڏيندس، پر جيڪڏهن الله چاهيو ۽ جڏهن توکي وسري وڃي ته پنهنجي رب کي ياد ڪر ۽ چئو ته اميد آهي ته منهنجو رب مون کي ڀلائي جي ان ڪان به وڌيڪ ويجهي راهه ڏيکاريندو. ٢٣-٢٤

---

قريش نضر بن حارث ۽ عقبہ بن محيط کي مديني موڪليو ته هو يهودين سان ملي محمدﷺ جي باري ۾ پڇن، ڇاڪاڻ ته اهي ماڻهو نبين جو علم رکندا هئا. ٻئي مديني آيا ۽ يهودين جي عالمن کي چيو اسان کي اسان جي ماڻهو جي باري ۾ ٻڌايو. انهن چيو ته توهان ان کان ٽن شين جي باري ۾ پڇو، جيڪڏهن هو توهان کي انهن بابت ٻڌائي ڇڏي ته هو پيغمبر آهي، نه ته هو ڳالهيون ٺاهڻ وارو آهي. انهن مان هڪ سوال اصحاب ڪهف جي نوجوانن جي باري ۾ هو، ٻيو ذوالقرنين جي باري ۾ ۽ ٽيون روح جي باري ۾.

پريس جي دور کان اڳ عام ماڻهن کي اصحاب ڪهف بابت ڪجهه معلوم نه هو. اهو قصو ڪن سرياني ٻولي جي ڪجهه تحريرن ۾ درج هو، جنهن جي خبر رڳو ڪجهه خاص عالمن کي هئي، پاڻﷺ جي سامهون اهي سوال آيا ته پاڻ فرمايو ته توهان جيڪا ڳالهه پڇي آهي ان جو جواب آئون سڀاڻي ڏيندس. (اخبركم غدا عما سالتم عنه) پاڻﷺ کي اميد هئي ته سڀاڻي جبرائيلؑ ايندا ۽ آئون ان کان

معلوم ڪري جواب ڏئي ڇڏيندس. پر جبرئيلؑ جي اچڻ ۾ دير ٿي وئي، ايستائين جو هو پندرهن ڏينهن ڪانپوءِ سورة ڪهف ڪٺي آيو.

وحي ۾ ان دير جي ڪري مڪي جي مخالفن کي موقعو ملي ويو. انهن ان کي بنياد بڻائي ماڻهن کي پاڻ ﷺ کان بدظن ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. الله فرمايو ته توهان هڪ معمولي ڳالهه کي شوشو بنائي جنهن شخص جي صداقت کان ماڻهن کي متنفر ڪرڻ چاهيو ٿا، ان جي صداقت تي ان کان وڌيڪ يقيني ۽ ان کان وڌيڪ وڏا دليل جمع ٿيڻ وارا آهن. (ان الله سيؤتيه من الحجج علي صحة نبوته ماهو ادلّ من قصة اصحاب الڪهف. التفسير المظهري جلد ٦ ص ٢٧)

اها ڳالهه اڄ حقيقت بڻجي چڪي آهي، اڄ پيغمبر اسلام ﷺ جي پيغمبراڻي صداقت تي ايترا دليل جمع ٿي چڪا آهن جو ڪو هوش مند ماڻهو ان جو انڪار ڪرڻ جي جرائت نه ٿو ڪري سگهي، پاڻ ﷺ جي نبوت اڄ هڪ ثابت ٿيل نبوت آهي نه وري محض هڪ دعويٰ.

وَ لَبِثُوْا فِيْ كَهْفِهِمْ ثَلٰثَ مِائَةٍ سِنِيْنَ وَ ازْدَادُوْا تِسْعًا ۝٢٥ قُلِ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا لَبِثُوْا ۚ لَهٗ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ اَبْصِرْ بِهٖ وَ اَسْمِعْ ؕ مَا لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّلِيٍّ ۫ وَّ لَا يُشْرِكُ فِيْ حُكْمِهٖۤ اَحَدًا ۝٢٦

۽ اهي ماڻهو پنهنجي غار ۾ ٽي سؤ سالن کان وڌيڪ نو سال رهيا. چئو ته الله سندن رهڻ جي مدت کي وڌيڪ ڄاڻي ٿو. آسمانن ۽ زمين جو غيب ان جي علم ۾ آهي. هو ڪهڙو نه خوب ڏسڻ وارو ۽ ٻڌڻ وارو آهي. الله کان سواءِ انهن جو ڪو مددگار نه آهي ۽ نه الله ڪنهن کي پنهنجي اختيار ۾ شريڪ ڪندو آهي. ٢٥-٢٦

---

قتاده ۽ مطرف بن عبدالله جي تفسير مطابق هتي ٣٠٠ سؤ سال يا ٣٠٩ سال ماڻهن جا قول آهن، نه وري الله طرفان ڪا خبر. عبدالله بن مسعود کان به انهيءَ جي تائيد ٿيندي آهي. ان زماني جا اهل ڪتاب ناقابل اعتبار قصن جي بنياد تي اهو سمجهندا هئا ته غار ۾ اصحاب ڪهف جي رهڻ جي مدت شمسي ڪئلينڊر جي لحاظ کان ٽي سؤ سال آهي ۽ قمري ڪئلينڊر جي لحاظ کان ٣٠٩ سال (تفسير ابن ڪثير جز ٽيون ص ٧٩). قرآن ماڻهن جي انهن خيالن کي نقل ڪيو آهي، پر انهيءَ سان گڏ اهو چئي انهن کي بي بنياد قرار ڏئي ڇڏيو آهي ته قل الله اعلم بما لبثوا (چئو ته الله وڌيڪ ڄاڻي ٿو ته اُهي غار ۾ ڪيترو ترسيا).

موجوده زماني جي محققن دريافت ڪيو آهي ته اها مدت شمسي ڪئلينڊر جي لحاظ کان ١٩٦ سال هئي، اها تحقيق ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته قرآن الله جو ڪتاب آهي جيڪو سيني اڳين پوين ڳالهين کان باخبر آهي ۽ ان علم جي بنياد تي ان مٿي ذڪر ڪيل قول کي قبول نه ڪيو. قرآن جيڪڏهن ڪو انساني ڪلام هجي ها ته يقيناً هو پنهنجي زماني جي مشهور قول کي وٺي ڇڏي ها. جيڪو آخرڪار پوءِ ٿيڻ واري تحقيق سان ٽڪرائجي وڃي ها.

وَ اتْلُ مَاۤ اُوْحِيَ اِلَيْكَ مِنْ كِتَابِ رَبِّكَ ؕ لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِهٖ ۚ۫ وَ لَنْ تَجِدَ مِنْ دُوْنِهٖ

مُلْتَحَدًا ﴿٢٧﴾ وَ اصْبِرْ نَفْسَكَ مَعَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَ الْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ
وَجْهَهٗ وَ لَا تَعْدُ عَيْنٰكَ عَنْهُمْ ۚ تُرِيْدُ زِيْنَةَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَ لَا تُطِعْ مَنْ اَغْفَلْنَا قَلْبَهٗ
عَنْ ذِكْرِنَا وَ اتَّبَعَ هَوٰىهُ وَ كَانَ اَمْرُهٗ فُرُطًا ﴿٢٨﴾

۽ تنهنجي رب جو جيڪو ڪتاب توتي وحي ڪيو پيو وڃي ان کي پڙهه. الله جي ڳالهين کي ڪو بدلائڻ وارو نه آهي ۽ ان کان سواءِ تون ڪا پناهه نه لهندين ۽ پنهنجي پاڻ کي انهن ماڻهن سان گڏ رک جيڪي صبح ۽ شام پنهنجي رب کي پڪاريندا آهن. هو ان جي رضا جا طالب آهن ۽ تنهنجون اکيون دنيا جي زندگي جي رونق جي ڪري انهن کان هٽي نه وڃن ۽ تون اهڙي ماڻهو جو چيو نه مڃ جنهن جي قلب کي اسان پنهنجي ياد کان غافل ڪري ڇڏيو آهي ۽ اهو پنهنجي خواهشن تي هلندو آهي ۽ ان جو معاملو حد کان لنگهيل آهي. ٢٧-٢٨

قديم مڪي دور ۾ جن ماڻهن پيغمبر جو ساٿ ڏئي خالص دين کي پنهنجو دين بڻايو هو، انهن لاءِ ايئن ڪرڻ ڪا معمولي ڳالهه نه هئي. اهو مفادن سان جڙيل نظام کي ڇڏي هڪ اهڙي عقيدي جو ساٿ ڏيڻ هو جنهن سان بظاهر ڪو مفاد وابسته نه هو، پهرين جماعت نئين دين کي اختيار ڪندي ئي وقت جي مروج نظام کان ڪٽجي وئي، جڏهن ته ٻئي جماعت پوري طرح وقت جي مروج نظام جي زور تي بيٺي هئي، پهرين جماعت وٽ صرف خدا جون ڳالهيون هيون جن جي اهميت آخرت ۾ ظاهر ٿيندي، جڏهن ته ٻي جماعت انهن شين جي مالڪ بڻيل هئي، جنهن جي قيمت هن دنيا جي بازار ۾ هوندي آهي.

اهو ظاهري فرق جيڪڏهن داعي کي متاثر ڪري ڇڏي ته ان جو نتيجو اهو ٿيندو ته دين جي خالص دعوت جي اهميت ان جي نظر ۾ گهٽ ٿي ويندي ۽ ملاوٽ وارو دين ان جي نظر ۾ اهميت اختيار ڪري وٺندو. جنهن جا علمبردار بڻجي ماڻهو دنيا جون رونقون حاصل ڪري وٺنا آهن.

پر اها وڏي ڀل آهي، ڇاڪاڻ ته اهو ان اصل مشن کان هٽي وڃڻ آهي جيڪو الله کي سيني کان وڌيڪ گهربل آهي، داعي جيڪڏهن ايئن ڪري ته هو الله جي مدد کان محروم ٿي ويندو هو. الله جي دنيا ۾ اهڙو ئي ٿي ويندو جو ڪو وڻ ان کي ڇانو نه ڏي ۽ ڪو پاڻي ان جي اُڃ نه اُجهائي، تنهن ڪري ابن جرير هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي ته الله فرمائي ٿو اي محمد (ﷺ)! جيڪڏهن تو ماڻهن کي قرآن نه ٻڌايو ته الله جي مقابلي ۾ تو لاءِ ڪا پناهه جي جاءِ نه هوندي. (يقول ان انت يامحمد لم تتل ما اوحي اليک من کتاب ربک فانه لاملجالک من الله کما قال تعاليٰ: ياايهاالرسول بلغ ما انزل اليک من ربک وان لم تفعل فما بلغت رسالته والله يعصمک من الناس)

وَ قُلِ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكُمْ ۟ فَمَنْ شَآءَ فَلْيُؤْمِنْ وَّ مَنْ شَآءَ فَلْيَكْفُرْ ۙ اِنَّآ اَعْتَدْنَا
لِلظّٰلِمِيْنَ نَارًا ۙ اَحَاطَ بِهِمْ سُرَادِقُهَا ؕ وَ اِنْ يَّسْتَغِيْثُوْا يُغَاثُوْا بِمَآءٍ كَالْمُهْلِ يَشْوِي
الْوُجُوْهَ ؕ بِئْسَ الشَّرَابُ ؕ وَ سَآءَتْ مُرْتَفَقًا ﴿٢٩﴾

۽ چئو ته هي حق آهي تنهنجي رب طرفان پوءِ جيڪو ماڻهو چاهي ان کي مڃي ۽ جيڪو ماڻهو چاهي نه مڃي. اسان ظالمن لاءِ اهڙي باهه تيار ڪري رکي آهي، جنهن جا شعلا انهن کي پنهنجي گهيري ۾ ويڙهي وٺندا ۽

جيڪڏهن هو پاڻي جي لاءِ فرياد ڪندا ته سندن فرياد رسي اهڙي پاڻي سان ڪئي ويندي جيڪو ٿهڪندڙ تيل جهڙو هوندو. اهو سندن منهن کي پُچي ڇڏيندو، ڪهڙو نه بڇڙو پاڻي هوندو ۽ ڪهڙو نه بڇڙو ٺڪاڻو. ٢٩

---

جيڪو حق الله طرفان ايندو آهي، اهو آخري حدتائين صداقت هوندو آهي. ان ڪري ماڻهن جو لحاظ ۽ رعايت ڪندي ان ۾ ڪنهن به قسم جي ترميم نه ٿي ڪري سگهجي. خدائي حق ۾ ترميم ڪرڻ جڻ ته ان معيار کي تبديل ڪرڻ آهي، جنهن تي جانچي هر ماڻهو جي حيثيت مقرر ڪئي ويندي.

جيڪي ماڻهو اِهو چاهيندا آهن ته خدائي حق ۾ اهڙي ترميم ڪئي وڃي جو ان سان سندن غلط روش لاءِ جواز ملي وڃي، اُهي گمراهي تي سرڪشي جو اضافو ڪري رهيا آهن. اهڙن ماڻهن کي پاڻ لاءِ صرف سخت سزا جو انتظار ڪرڻ گهرجي.

اِنَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اِنَّا لَا نُضِيۡعُ اَجۡرَ مَنۡ اَحۡسَنَ عَمَلًا ۚ﴿۳۰﴾ اُولٰٓئِكَ لَهُمۡ
جَنّٰتُ عَدۡنٍ تَجۡرِىۡ مِنۡ تَحۡتِهِمُ الۡاَنۡهٰرُ يُحَلَّوۡنَ فِيۡهَا مِنۡ اَسَاوِرَ مِنۡ ذَهَبٍ وَّيَلۡبَسُوۡنَ
ثِيَابًا خُضۡرًا مِّنۡ سُنۡدُسٍ وَّ اِسۡتَبۡرَقٍ مُّتَّكِـِٕيۡنَ فِيۡهَا عَلَى الۡاَرَآئِكِ ؕ نِعۡمَ الثَّوَابُ ؕ وَ
حَسُنَتۡ مُرۡتَفَقًا ۚ﴿۳۱﴾ ع ۹ ۱٦

بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن چڱا ڪم ڪيا ته اسان اهڙن ماڻهن جو اجر ضايع نه ڪنداسون. جن چڱي طرح ڪم ڪيو انهن لاءِ هميشه رهڻ وارا باغ آهن، جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون. اتي انهن کي سون جا ڪنگڻ پارايا ويندا ۽ اُهي سنهي ۽ ٿلهي ريشم جا ساوا ڪپڙا پائيندا، تختن تي ٽيڪ لڳائي ويٺا هوندا، ڪهڙو نه سٺو بدلو آهي ۽ ڪهڙي نه سٺي جاءِ. ٣٠-٣١

---

جيڪي ماڻهو تڪبر، مصلحت ۽ ظاهر پرستي کان خالي هوندا آهن، سندن حال اِهو هوندو آهي ته جڏهن خدائي صداقت سندن سامهون ايندي آهي ته هو ان کي فوراً سڃاڻي وٺندا آهن، چاهي اها صداقت انهن جهڙي هڪ انسان جي زبان مان ڇو نه ظاهر ٿي هجي.

هو پنهنجي پاڻ کي حق جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهن. هو پنهنجي زندگي کي ان جي مطابق بدلائڻ شروع ڪري ڇڏيندا آهن نه وري خود صداقت کي پنهنجي زندگي جي مطابق بدلائڻ ۾ لڳي وڃن، جيڪي ماڻهو اهڙي طرح حق پرستي جو ثبوت ڏين، اُهي خدا جا محبوب بڻها آهن. انهن کي آخرت ۾ انعامن سان نوازيو ويندو.

وَ اضۡرِبۡ لَهُمۡ مَّثَلًا رَّجُلَيۡنِ جَعَلۡنَا لِاَحَدِهِمَا جَنَّتَيۡنِ مِنۡ اَعۡنَابٍ وَّ حَفَفۡنٰهُمَا بِنَخۡلٍ
وَّ جَعَلۡنَا بَيۡنَهُمَا زَرۡعًا ؕ﴿۳۲﴾ كِلۡتَا الۡجَنَّتَيۡنِ اٰتَتۡ اُكُلَهَا وَ لَمۡ تَظۡلِمۡ مِّنۡهُ شَيۡـًٔا ۙ وَّ فَجَّرۡنَا
خِلٰلَهُمَا نَهَرًا ۙ﴿۳۳﴾ وَّ كَانَ لَهٗ ثَمَرٌ ۚ فَقَالَ لِصَاحِبِهٖ وَ هُوَ يُحَاوِرُهٗۤ اَنَا اَكۡثَرُ مِنۡكَ مَالًا وَّ اَعَزُّ
نَفَرًا ﴿۳۴﴾ وَ دَخَلَ جَنَّتَهٗ وَ هُوَ ظَالِمٌ لِّنَفۡسِهٖ ۚ قَالَ مَاۤ اَظُنُّ اَنۡ تَبِيۡدَ هٰذِهٖۤ اَبَدًا ۙ﴿۳۵﴾ وَّ مَاۤ

اَظُنُّ السَّاعَةَ قَآئِمَةً ۙ وَّلَئِنْ رُّدِدْتُّ اِلٰى رَبِّيْ لَاَجِدَنَّ خَيْرًا مِّنْهَا مُنْقَلَبًا ۝٣٦

تون انهن جي سامهون هڪ مثال پيش ڪر ته ماڻهو هئا انهن مان هڪ کي اسان انگورن جا ٻه باغ ڏنا ۽ انهن جي چوڌاري ڪجين جا وڻ لڳايا ۽ ٻنهي جي وچ ۾ پوک پيدا ڪئي. ٻنهي باغن پنهنجو پورو ميوو پچايو. ان ۾ ڪجهه به گهٽتائي نه ڪئي ۽ ٻنهي باغن جي وچ ۾ اسان نهر جاري ڪري ڇڏي ۽ ان کي گهڻو ڦر مليو ته ان پنهنجي ساٿي سان ڳالهه ڪندي چيو ته آئون توکان مال ۾ وڌيڪ آهيان ۽ تعداد ۾ به وڌيڪ طاقتور آهيان. هو پنهنجي باغ ۾ داخل ٿيو ۽ هو پاڻ تي ظلم ڪري رهيو هو. ان چيو ته آئون نه ٿو سمجهان ته هي ڪڏهن برباد ٿيندو ۽ آئون نه ٿو سمجهان ته ڪڏهن قيامت ايندي ۽ جيڪڏهن آئون پنهنجي رب وٽ موٽايو ويس ته ضرور هن کان به سٺي جاءِ مون کي ملندي. ٣٢-٣٦

---

هڪ باغ جنهن ۾ ساوڪ ئي ساوڪ هجي، پوءِ قدرتي آفت جي ڪري اوچتو ختم ٿي وڃي، اهو ان ماڻهو جو مثال آهي جيڪو دنيا ۾ دولت ۽ عزت جي ڪري تڪبر ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي. دنيا ۾ ڪنهن انسان کي دولت ۽ عزت جو جيڪو حصو ملندو آهي، اهو الله طرفان بطور امتحان هوندو آهي. پر ظالم انسان اڪثر ان کي پنهنجي لاءِ انعام يا پنهنجي قوت ۽ لياقت جو نتيجو سمجهي وٺندو آهي. ان ڪري ان جي اندر سرڪشي جا جذبا پيدا ٿي ويندا آهن. هو انهن ماڻهن کي حقير سمجهڻ لڳندو آهي جن کي دولت ۽ عزت ۾ گهٽ حصو مليو هجي. هُن جي نفسيات اهڙي ٿي ويندي آهي ڄڻ ته هُن جي دنيا ڪڏهن ختم ٿيڻ واري نه آهي ۽ جيڪڏهن اها دنيا ختم ٿي ۽ ٻي دنيا نهي ته ڪو سبب نه آهي جو اتي به ان جو حال سٺو نه هجي. جهڙي طرح هتي ان جو حال سٺو آهي.

هي امتحان جي حالت کي انعام جي حالت تي قياس ڪرڻ آهي. حالانڪ ٻنهي ۾ ڪا به نسبت نه آهي.

قَالَ لَهٗ صَاحِبُهٗ وَهُوَ يُحَاوِرُهٗٓ اَكَفَرْتَ بِالَّذِيْ خَلَقَكَ مِنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ سَوّٰىكَ رَجُلًا ۝٣٧ لٰكِنَّا۠ هُوَ اللّٰهُ رَبِّيْ وَلَآ اُشْرِكُ بِرَبِّيْٓ اَحَدًا ۝٣٨ وَلَوْلَآ اِذْ دَخَلْتَ جَنَّتَكَ قُلْتَ مَا شَاۗءَ اللّٰهُ ۙ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ ۚ اِنْ تَرَنِ اَنَا اَقَلَّ مِنْكَ مَالًا وَّوَلَدًا ۝٣٩ فَعَسٰى رَبِّيْٓ اَنْ يُّؤْتِيَنِ خَيْرًا مِّنْ جَنَّتِكَ وَيُرْسِلَ عَلَيْهَا حُسْبَانًا مِّنَ السَّمَاۗءِ فَتُصْبِحَ صَعِيْدًا زَلَقًا ۝٤٠ اَوْ يُصْبِحَ مَاۗؤُهَا غَوْرًا فَلَنْ تَسْتَطِيْعَ لَهٗ طَلَبًا ۝٤١

سندس ساٿي ڳالهه ڪندي چيو ته ڇا تون ان ذات جو انڪار ڪري رهيو آهين جنهن توکي مٽي مان بڻايو. پوءِ پاڻي جي هڪ ڦڙي مان، پوءِ توکي پورو مڙس بڻايو. پر منهنجو رب ته اهوئي الله آهي ۽ آئون پنهنجي رب سان ڪنهن کي شريڪ نه ٿو ڪريان ۽ جڏهن تون پنهنجي باغ ۾ داخل ٿي رهيو هئين ته تو چو نه چيو ته جيڪو الله چاهي ٿو اهوئي ٿيندو آهي. الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي ڪا طاقت نه آهي. جيڪڏهن تون ڏسين ٿو ته آئون مال ۽ اولاد ۾ توکان گهٽ آهيان ته اميد آهي ته منهنجو رب مون کي تنهنجي باغ کان بهتر باغ ڏئي ڇڏي ۽ تنهنجي باغ تي آسمان کان ڪا آفت موڪلي ڇڏي، جنهن سان اهو باغ صاف ميدان ٿي رهجي وڃي يا ان جو پاڻي سڪي وڃي، پوءِ تون ان کي کهڙي به طرح حاصل نه ڪري سگهين. ٣٧-٤١

---

الله ڪنهن انسان کي دولت ڏي ته ان کي الله جو شڪرگذار پاڻهو بڻجي رهڻ گهرجي، پر جيڪڏهن ذهن صحيح نه هجي ته دولت ماڻهو جي لاءِ سرڪشي جو سبب بڻجي ويندي آهي، ان جي ابتڙ جيڪڏهن ذهن صحيح آهي ته غربت ۾ به ماڻهو الله کي نه ٿو وساري، جيڪو ڪجهه مليو آهي ان تي قناعت سان رهي ڪري هو اميد رکي ٿو ته ان جو الله ان کي وڌيڪ ڏيندو.

ماڻهو جيڪڏهن اکيون کولي دنيا ۾ رهي ته ڪڏهن به هو سرڪشي ۾ مبتلا نه ٿئي، انسان هڪ حقير وجود جي حيثيت سان پرورش پائيندو آهي. ان کي حادثا به پيش ايندا آهن. ان کي بيماري ۽ پيري به ايندي آهي. پاڻي ۽ ٻين شين جي ذريعي هو هن دنيا ۾ پنهنجو ”باغ“ پوکيندو آهي. انهن مان ڪابه شيءِ سندس ذاتي نه آهي.

اِهو ان ڪري آهي ته ماڻهو عاجز بڻجي دنيا ۾ رهي، پر ظالم انسان ڪنهن شيءِ مان سبق نه ٿو وٺي. ان کي ان وقت تائين هوش نه ٿو اچي جيستائين هو هر شيءِ کان محروم ٿي ڪري پنهنجي اکين سان ڏسي نه وٺي ته ان وٽ عجز کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو.

وَ اُحِيْطَ بِثَمَرِهٖ فَاَصْبَحَ يُقَلِّبُ كَفَّيْهِ عَلٰى مَاۤ اَنْفَقَ فِيْهَا وَ هِيَ خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوْشِهَا وَ يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ لَمْ اُشْرِكْ بِرَبِّيْۤ اَحَدًا ﴿۴۲﴾ وَ لَمْ تَكُنْ لَّهٗ فِئَةٌ يَّنْصُرُوْنَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَ مَا كَانَ مُنْتَصِرًا ﴿۴۳﴾ هُنَالِكَ الْوَلَايَةُ لِلّٰهِ الْحَقِّ ؕ هُوَ خَيْرٌ ثَوَابًا وَّ خَيْرٌ عُقْبًا ﴿۴۴﴾

۽ ان جي ميوي تي آفت آئي ته جيڪو ڪجهه هن ان تي خرچ ڪيو هو، ان تي هو هٿ مليندو رهجي ويو ۽ اهو باغ پنهنجي ڇتين سميت ڪريل هو ۽ هو چوڻ لڳو ته ڪاش آئون پنهنجي رب سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪيان ها ۽ ان وٽ ڪا جماعت نه هئي جيڪا الله کان سواءِ ان جي مدد ڪري ۽ نه هو پاڻ بدلو وٺڻ وارو بڻجي سگهيو. هتي سڄو اختيار صرف الله جو آهي، اهو بهترين اجر ۽ بهترين بدلو ڏيڻ وارو آهي. ٤٢-٤٤

---

ماڻهو ڪنهن ڪم ۾ پنهنجو مال ۽ پنهنجي قابليت لڳائيندو آهي. هو سمجهي ٿو ته منهنجي قابليت ۽ منهنجو مال ڪامياب نتيجي سان گڏ مون ڏانهن موٽي ايندو. پر مختلف قسم جا حادثا پيش ايندا آهن ۽ ان جي اميدن کي ناس ڪري ڇڏيندا آهن. ماڻهو جي ڪابه تدبير ۽ سندس لياقت ان کي بچائڻ واري ثابت نه ٿي ٿئي.

الله موجوده دنيا ۾ هر هر اهڙي طرح جا نمونا ڏيکاريندو آهي، ته جيئن انسان انهن مان سبق وٺي، ته جيئن هو الله کان سواءِ ڪنهن ٻي شيءِ کي اهميت ڏيڻ جي غلطي نه ڪري.

وَ اضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا كَمَآءٍ اَنْزَلْنٰهُ مِنَ السَّمَآءِ فَاخْتَلَطَ بِهٖ نَبَاتُ الْاَرْضِ فَاَصْبَحَ هَشِيْمًا تَذْرُوْهُ الرِّيٰحُ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ مُّقْتَدِرًا ﴿۴۵﴾ اَلْمَالُ وَ الْبَنُوْنَ زِيْنَةُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَ الْبٰقِيٰتُ الصّٰلِحٰتُ خَيْرٌ عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّ خَيْرٌ اَمَلًا ﴿۴۶﴾

۽ انهن کي دنيا جي زندگي جو مثال ٻڌاءِ جيئن پاڻي جنهن کي اسان آسمان مان وسايو. پوءِ ان سان زمين جي پوک ڳتي طرح گهاٽي ٿي وئي، پوءِ اها ذره ذره ٿي وئي، جنهن کي هوا اڏائيندي رهي ۽ الله هر شيءِ تي قدرت رکڻ وارو آهي. مال ۽ اولاد دنيا جي حياتي جي رونق آهن ۽ باقي رهڻ واريون نيڪيون تنهنجي رب وٽ ثواب جي لحاظ کان بهتر آهن. ٤٥-٤٦

---

دنيا آخرت جي مثال آهي. پاڻي ملڻ سان زمين سرسبز ٿي ويندي آهي ته بظاهر ايئن لڳندو آهي ته اها هميشه ايئن ئي رهندي. پر ان کان پوءِ موسم بدلجي ٿو ۽ سڄي ساوڪ سڪي ختم ٿي ويندي آهي.

اهوئي حال دنيا جي رونق جو آهي. موجوده دنيا جون رونقون ماڻهو کي پاڻ ڏانهن ڇڪين ٿيون، پر اُهي سڀ رونقون عارضي آهن. قيامت تمام جلد انهن کي اهڙي طرح ختم ڪري ڇڏيندي جو ايئن لڳندو ڄڻ ته انهن جو ڪوبه وجود ئي نه هو.

دنيا جون رونقون باقي نه ٿيون رهن. پر هتي هڪ ٻي شيءِ آهي جيڪا هميشه باقي رهڻ واري آهي ۽ اُهي انسان جا نيڪ عمل آهن. جهڙي طرح زمين ۾ ٻج پوکڻ سان باغ ڦٽندو آهي، اهڙي طرح الله جي ياد ۽ الله جي فرمانبرداري سان به هڪ باغ ڦٽندو آهي. ان باغ تي ڪڏهن سرءُ نه ٿو اچي، پر دنيا جي باغ جي ابتڙ اهو ٻيو باغ آخرت ۾ ڦٽندو آهي ۽ اتي ئي پنهنجي پوکڻ واري کي ملندو.

وَيَوۡمَ نُسَيِّرُ الۡجِبَالَ وَتَرَى الۡاَرۡضَ بَارِزَةً ۙ وَّ حَشَرۡنٰهُمۡ فَلَمۡ نُغَادِرۡ مِنۡهُمۡ اَحَدًا ۚ﴿٤٧﴾ وَعُرِضُوۡا عَلٰى رَبِّكَ صَفًّا ؕ لَقَدۡ جِئۡتُمُوۡنَا كَمَا خَلَقۡنٰكُمۡ اَوَّلَ مَرَّةٍۢ ؗ بَلۡ زَعَمۡتُمۡ اَلَّنۡ نَّجۡعَلَ لَكُمۡ مَّوۡعِدًا ﴿٤٨﴾

۽ جنهن ڏينهن اسان جبلن کي هلائينداسون ۽ تون زمين کي بلڪل صاف ميدان ڏسندين ۽ اسان انهن سڀني کي جمع ڪنداسون ۽ اسان انهن مان ڪنهن کي به نه ڇڏينداسون ۽ سڀ ماڻهو تنهنجي رب اڳيان صف ٻڌي پيش ڪيا ويندا. اوهين اسان وٽ اچي ويا جهڙي طرح اسان اوهان کي پهرين ڀيري پيدا ڪيو هو، بلڪ اوهان اهو گمان ڪيو هو ته اسان اوهان لاءِ ڪو واعدي جو وقت مقرر نه ڪنداسون. ٤٧-٤٨

---

موجوده دنيا ۾ جيڪي حالتون پيدا ڪيون ويون آهن، اُهي صرف امتحان لاءِ آهن. امتحان جي مقرر مدت پوري ٿيڻ کان پوءِ اهي حالتون باقي نه رهنديون، ان کان پوءِ زمين جون سڀئي زندگي ڏيڻ واريون خوبيون ختم ڪيون وينديون، هو اهڙي خالي جاءِ بڻجي ويندي جتي نه ڪنهن لاءِ وڏائي جو سامان هوندو ۽ نه فخر جو.

دنيا ۾ امتحان جي ڪري انسان پنهنجي پاڻ کي اختيار جي فضا ۾ ڏسي رهيو آهي، پر قيامت ان فضا کي بلڪل ختم ڪري ڇڏيندي، ان ڏينهن ماڻهو بغير ڪنهن سهاري جي ۽ بيوسي جي فضا ۾ پنهنجي رب وٽ گڏ ڪيا ويندا. سڀ ماڻهو پنهنجي مالڪ جي سامهون ان جو فيصلو ٻڌڻ لاءِ بيٺا هوندا. الله وٽ هر ماڻهو جي زندگي جو انتهائي مڪمل ريڪارڊ هوندو، ان جي مطابق هو ڪنهن کي انعام ڏيندو ۽ ڪنهن جي لاءِ سزا جو حڪم ٻڌائيندو.

موجوده دنيا ۾ انسان جون هڪ ئي وقت ٻه حالتون آهن. هڪ لحاظ کان هو عاجز آهي ۽ ٻئي

لحاظ کان آزاد. ماڻهو جيڪڏهن پنهنجي عجز کي ڏسي ته ان جي اندر خدا ڏانهن رجوع ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿيندو. پر انسان رڳو پنهنجي آزادي جي حالت کي ڏسندو آهي، پوءِ نتيجو اهو ٿيندو آهي جو هو غافل ۽ سرڪش بڻجي ويندو آهي.

وَ وُضِعَ الْكِتٰبُ فَتَرَى الْمُجْرِمِيْنَ مُشْفِقِيْنَ مِمَّا فِيْهِ وَ يَقُوْلُوْنَ يٰوَيْلَتَنَا مَالِ هٰذَا الْكِتٰبِ لَا يُغَادِرُ صَغِيْرَةً وَّ لَا كَبِيْرَةً اِلَّآ اَحْصٰهَا ۚ وَ وَجَدُوْا مَا عَمِلُوْا حَاضِرًا ؕ وَ لَا يَظْلِمُ رَبُّكَ اَحَدًا ﴿٤٩﴾

۽ اعمالنامو رکيو ويندو ته تون مجرمن کي ڏسندين ته ان ۾ جيڪو ڪجهه آهي، هو ان کان ڊڄندا هوندا ۽ چوندا ته اسان لاءِ ارمان آهي. هي ڪهڙو ڪتاب آهي جو ان نه ڪا ننڍي ڳالهه لکڻ کان ڇڏي آهي ۽ نه ڪا وڏي ڳالهه ۽ جيڪو ڪجهه انهن ڪيو آهي، اُهو سڀ پنهنجي سامهون ڏسندا ۽ تنهنجو رب ڪنهن تي به ظلم نه ڪندو. ٤٩

انسان جيڪو ڪجهه ڪندو آهي، اهو سڀ الله جي انتظام جي تحت رڪارڊ ٿي رهيو آهي. ماڻهو جي نيت، ان جو قول ۽ ان جو عمل سڀ ڪائناتي پردي تي نقش ٿي رهيا آهن. جيئن ته اهو انتظام اڄ ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي، پر قيامت ۾ اهو پردو هٽايو ويندو. ان وقت انسان اهو ڏسي خوفزده ٿي ويندو ته دنيا ۾ جيڪو ڪجهه هو اهو سمجهي ڪري رهيو هو ته ڪوبه ان کي ڇاڻڻ وارو نه آهي، اهو ايترو مڪمل ۽ واضح طور هتي لکيل آهي جو ان جي فهرست مان نه ڪا ننڍي شيءِ رهيل آهي ۽ نه ڪا وڏي شيءِ.

قيامت جي ڏينهن انسان سان جيڪو معاملو ڪيو ويندو، ان جي هر شيءِ ايتري ثابت ٿيل هوندي جو ماڻهو جڏهن پنهنجي عمل جو بدلو لهندو ته ان کي يقين هوندو ته ان سان اهوئي ڪيو پيو وڃي جنهن جو هو حقيقت ۾ مستحق هو ۽ نه ان کان گهٽ ۽ نه ان کان وڌيڪ.

وَ اِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ كَانَ مِنَ الْجِنِّ فَفَسَقَ عَنْ اَمْرِ رَبِّهٖ ؕ اَفَتَتَّخِذُوْنَهٗ وَ ذُرِّيَّتَهٗٓ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِيْ وَ هُمْ لَكُمْ عَدُوٌّ ؕ بِئْسَ لِلظّٰلِمِيْنَ بَدَلًا ﴿٥٠﴾

۽ جڏهن اسان فرشتن کي چيو ته آدم کي سجدو ڪريو ته انهن سجدو ڪيو، پر ابليس نه ڪيو. هو جنن مان هو پوءِ ان پنهنجي رب جي حڪم جي نافرماني ڪئي. ڇا پوءِ توهان ان کي ۽ سندس اولاد کي مون کان سواءِ پنهنجو دوست بڻايو ٿا. حالانڪ اُهي توهان جا دشمن آهن. اهو ظالمن لاءِ وڏو بڇڙو بدلو آهي. ٥٠

روايتن مان خبر پئي ٿي ته ابليس هڪ عبادت گذار جن هو. هو بظاهر عابد ۽ زاهد بڻيل هو، پر جڏهن الله تعاليٰ آدم جي سامهون جهڪڻ جو حڪم ڏنو ته هو تڪبر جي ڪري جهڪڻ لاءِ تيار نه ٿيو. هاڻي جيڪي ماڻهو تڪبر جي جذبي تحت حق جي سامهون جهڪڻ کان انڪار ڪن، اهي سڀ ابليس جي اولاد آهن. چاهي اهي بظاهر عبادت گذار ئي ڇو نه ڏسڻ ۾ ايندا هجن.

الله تعاليٰ جي سامهون جهڪڻ اصل ۾ الله تعاليٰ جي مقابلي ۾ پنهنجي عجز جو اقرار ڪرڻ

آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو حقيقي معنيٰ ۾ الله تعاليٰ جي سامهون جهڪڻ وارو آهي ته جتي به ان جي سامهون حق ايندو هو فوراً جهڪي ويندو. ان جي ابتڙ جيڪو ماڻهو ظاهري طور تي سجدي ڪرڻ وارو هجي پر پنهنجي اندر تڪبر جي نفسيات رکندو هجي، هو اهڙن موقعن تي آساني سان سجدو ڪري وٺندو جتي ان جي انا کي چوٽ نه لڳندي هجي، پر جتي ان کي جهڪائڻ جي قيمت تي پنهنجي پاڻ کي جهڪائڻو پوي ته اتي يڪدم هو سرڪش بڻجي ويندو ۽ جهڪڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندو.

جڏهن حق جو آواز بلند ٿئي ۽ ڪجهه ماڻهو ابليس ۽ ان جي اولاد جي اثر ۾ اچي ان کي قبول نه ڪن ته ڄڻ اهي ابليس ۽ ان جي اولاد کي خدا جو نعم البدل بڻائي رهيا آهن. جتي انهن کي الله تعاليٰ جي خوف کان حق جي اڳيان جهڪي وڃڻ گهرجي ها، اُتي هو ڪوڙن معبودن جي خوف کان ان جي اڳيان جهڪڻ کان انڪار ڪري رهيا آهن، اهڙا ماڻهو بدترين ظالم آهن. تمام جلد انهن کي خبر پئجي ويندي ته الله تعاليٰ کي ڇڏي انهن جن تي ڀروسو ڪيو هو، اهي انهن جي ڪجهه به ڪم اچڻ وارا نه آهن.

مَاۤ اَشۡهَدۡتُّهُمۡ خَلۡقَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ وَ لَا خَلۡقَ اَنۡفُسِهِمۡ ۪ وَ مَا كُنۡتُ مُتَّخِذَ الۡمُضِلِّيۡنَ عَضُدًا ﴿۵۱﴾

مون انهن کي نه آسمانن ۽ زمين پيدا ڪرڻ جي وقت سڏيو ۽ نه خود انهن کي پيدا ڪرڻ وقت سڏيو ۽ آئون اهڙو نه آهيان جو گمراهه ڪرڻ وارن کي پنهنجو مددگار بڻايان. ٥١

---

ماڻهو پنهنجن وڏن کي دنيا جي زندگي ۾ ڀروسي جي قابل سمجهي وٺندا آهن، اهي ايترا ڪمزور آهن جو نه ڪائنات جي وجود ۾ انهن جو ڪو دخل آهي ۽ نه وري خود پنهنجي وجود ۾. وڌيڪ اهو ته اهي ماڻهو حق جي دعوت جي مقابلي ۾ مضل (گمراهه ڪرڻ وارا) جو ڪردار ادا ڪري ثابت ڪري رهيا آهن ته هو يقيناً ڀروسي جي قابل نه آهن. هڪ اهڙي دنيا جتي هر طرف حق جي ڪار فرمائي آهي، اتي اهڙيون شخصيتون ڪهڙي طرح دخل ڏيندڙ ٿي سگهن ٿيون جن جو واحد سرمايو ماڻهن کي حق کان پري ڪرڻ آهي.

وَ يَوۡمَ يَقُوۡلُ نَادُوۡا شُرَكَآءِىَ الَّذِيۡنَ زَعَمۡتُمۡ فَدَعَوۡهُمۡ فَلَمۡ يَسۡتَجِيۡبُوۡا لَهُمۡ وَ جَعَلۡنَا بَيۡنَهُمۡ مَّوۡبِقًا ﴿۵۲﴾ وَ رَاَ الۡمُجۡرِمُوۡنَ النَّارَ فَظَنُّوۡۤا اَنَّهُمۡ مُّوَاقِعُوۡهَا وَ لَمۡ يَجِدُوۡا عَنۡهَا مَصۡرِفًا ﴿۵۳﴾ ع ۱۹

۽ جنهن ڏينهن الله فرمائيندو ته جن کي توهان منهنجو شريڪ سمجهندا هئا، انهن کي سڏيو. پوءِ هو انهن کي سڏيندا، پر هو ڪين ڪو جواب نه ڏيندا ۽ اسان انهن جي وچ (عداوت جي) اوٽ ڪري ڇڏينداسون ۽ مجرم ماڻهو باهه کي ڏسندا ۽ سمجهي وٺندا ته هو ان ۾ ڪرڻ وارا آهن ۽ هو ان کان بچڻ جي ڪا راهه نه لهندا. ٥٢-٥٣

---

دنيا ۾ جن شخصيتن جي ڀروسي تي ماڻهو حق جو انڪار ڪندو آهي، قيامت ۾ اهي ان جي ڪجهه به ڪم نه ايندين، اڄ اُهي هڪ ٻئي جا ساٿي آهن، پر جڏهن حقيقتون ڪلنديون ته هڪ ٻئي کان

نفرت ڪرڻ لڳندا. ايئن لڳندو تہ ڄڻ ھنن جي وچ ۾ ھلاڪت ۾ وجھندڙ رڪاوٽ قائم ٿي وئي آھي. موجوده دنيا ۾ ھو پنھنجي پاڻ کي محفوظ ۽ امن ۾ سمجھندا آھن، پر قيامت ۾ سندن انجام صرف اھو ٿيڻ وارو آھي جو ھو پنھنجي پاڻ کي جھنم جي دروازي تي بيٺل ڏسندا ۽ ان کان ڇوٽڻ جي ڪا تدبير ڪري نہ سگھندا.

وَ لَقَدۡ صَرَّفۡنَا فِيۡ هٰذَا الۡقُرۡاٰنِ لِلنَّاسِ مِنۡ كُلِّ مَثَلٍؕ وَ كَانَ الۡاِنۡسَانُ اَكۡثَرَ شَيۡءٍ جَدَلًا ﴿۵۴﴾ وَ مَا مَنَعَ النَّاسَ اَنۡ يُّؤۡمِنُوۡۤا اِذۡ جَآءَهُمُ الۡهُدٰى وَ يَسۡتَغۡفِرُوۡا رَبَّهُمۡ اِلَّاۤ اَنۡ تَاۡتِيَهُمۡ سُنَّةُ الۡاَوَّلِيۡنَ اَوۡ يَاۡتِيَهُمُ الۡعَذَابُ قُبُلًا ﴿۵۵﴾

۽ اسان ھن قرآن ۾ ماڻھن جي ھدايت لاءِ ھر قسم جا مثال بيان ڪيا سون ۽ انسان سڀني کان وڌيڪ جھڳڙالو آھي ۽ ان کان پوءِ جڏھن تہ ماڻھن وٽ ھدايت پھچي وئي ايمان آڻڻ کان ۽ پنھنجي رب کان بخشش گھرڻ کان رڳو ھن ڳالھ (روڪيو) تہ انھن سان بہ اڳين قومن جھڙو معاملو پيش اچي يا عذاب سندن سامھون اچي ڪڙو ٿئي. ٥٤-٥٥

---

موجوده دنيا ۾ امتحان جي آزادي آھي، ان ڪري ھتي ماڻھو حق جو اعتراف نہ ڪرڻ لاءِ ڪو نہ ڪو عذر ڳولھي وٺندو آھي، ھر ڳالھ کي رد ڪرڻ لاءِ ان کي ڪجھ لفظ ملي ويندا آھن. ڪڏھن ايئن ٿيندو آھي جو ھو ھڪ واضح دليل کي بي معنيٰ بحث ذريعي رد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آھي، ڪڏھن ھو ايئن ڪندو آھي تہ جيڪا دليل ڏني وڃي ان کي نظرانداز ڪري ھڪ ٻي شيءِ جو تقاضو ڪرڻ لڳندو آھي، جيڪا ڪنھن سبب ڪري اڃا پيش نہ ڪئي وئي آھي.

ان آخري صورت جو ھڪ مثال اھو آھي تہ جڏھن پيغمبر پنھنجن مخاطبن جي سامھون واضح دليلن سان پنھنجو پيغام پيش ڪيو تہ انھن ان تي ڌيان نہ ڏنو، بلڪ ان کي نظرانداز ڪندي ايئن چيو تہ انڪار جي صورت ۾ تون اسان کي جنھن عذاب جي خبر ڏئي رھيو آھين، اھو ڪٿي آھي. ان کي آڻي اسان کي ڏيکار.

وَ مَا نُرۡسِلُ الۡمُرۡسَلِيۡنَ اِلَّا مُبَشِّرِيۡنَ وَ مُنۡذِرِيۡنَۚ وَ يُجَادِلُ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا بِالۡبَاطِلِ لِيُدۡحِضُوۡا بِهِ الۡحَقَّ وَ اتَّخَذُوۡۤا اٰيٰتِيۡ وَ مَاۤ اُنۡذِرُوۡا هُزُوًا ﴿۵۶﴾ وَ مَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنۡ ذُكِّرَ بِاٰيٰتِ رَبِّهٖ فَاَعۡرَضَ عَنۡهَا وَ نَسِيَ مَا قَدَّمَتۡ يَدٰهُؕ اِنَّا جَعَلۡنَا عَلٰى قُلُوۡبِهِمۡ اَكِنَّةً اَنۡ يَّفۡقَهُوۡهُ وَ فِيۡۤ اٰذَانِهِمۡ وَقۡرًاؕ وَ اِنۡ تَدۡعُهُمۡ اِلَى الۡهُدٰى فَلَنۡ يَّهۡتَدُوۡۤا اِذًا اَبَدًا ﴿۵۷﴾

۽ رسولن کي اسان صرف خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ ڊيڄارڻ وارو بڻائي موڪليندا آھيون ۽ منڪر ماڻھو ناحق ڳالھين ذريعي ڪوڙو جھڳڙو ڪندا آھن، تہ جيئن ان جي ذريعي حق کي ٿيڙين ۽ انھن منھنجن نشانين کي ۽ جيڪا تنبيھ ڪئي وئي تن کي مذاق بڻائي ڇڏيو. ان کان وڌو ظالم ڪير ھوندو جنھن کي سندس رب جي آيتن ذريعي نصيحت ڪئي وڃي تہ ھو ان کان منھن موڙي ۽ پنھنجن ھٿن سان ڪيل عمل کي وساري ڇڏي، اسان سندن دلين تي پردا وجھي ڇڏيا آھن تہ ھو ان کي نہ سمجھن ۽ سندن ڪنن ۾ ٻوڙائپ آھي ۽ جيڪڏھن تون

انهن کي هدايت ڏانهن سڏين ته هو ڪڏهن به راهه تي اچڻ وارا نه آهن. ٥٦-٥٧

---

الله تعاليٰ جي ڳالهه سيني کان وڌيڪ سچي آهي، سڀ بهترين دليل ان جي تائيد ڪندا آهن. تنهن ڪري جيڪي ماڻهو ان کي مڃڻ نه ٿا چاهين، هو ڪو حقيقي دليل نه ٿا لهن، جنهن جي ذريعي هو ان کي رد ڪري سگهن، انهن وٽ هميشه صرف بي بنياد ڳالهيون هونديون آهن، جن ذريعي هو ان کي مغلوب ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا آهن.

هو واضح دليلن جو مقابلو ڪوڙن اعتراضن سان ڪندا آهن. هو سنجيده ڪم کي مذاق ۾ گم ڪرڻ چاهيندا آهن.

اهو سڀ ڪجهه اُهي ان ڪري ڪندا آهن جو داعي کي عوام جي نظر ۾ بي اعتبار ثابت ڪري سگهن، پر اُهي وساري ٿا ڇڏين ته ايئن ڪري اُهي پنهنجي پاڻ کي الله تعاليٰ جي نظر ۾ بي اعتبار ثابت ڪري رهيا آهن.

ماڻهو کي سوچڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت ان ڪري ڏني وئي آهي جو هو حق ۽ ناحق ۾ تميز ڪري سگهي. پر جڏهن هو پنهنجي سوچ کي غلط رخ تي استعمال ڪندو آهي ته ان جو ذهن ان ئي غلط رخ تي هلي پوندو آهي، جنهن رخ تي هن ان کي هلايو آهي. ان کان پوءِ ان جي لاءِ ناممڪن ٿي ويندو آهي جو هو ڪنهن ڳالهه کي ان جي صحيح رخ سان ڏسي ۽ ان جي اهميت کي سمجهي سگهي. هو اکيون رکندي به انڌو بڻجي ويندو آهي، هو ڪن رکندي به ٻوڙو بڻجي ويندو آهي.

وَ رَبُّكَ الۡغَفُوۡرُ ذُو الرَّحۡمَةِ ؕ لَوۡ يُؤَاخِذُهُمۡ بِمَا كَسَبُوۡا لَعَجَّلَ لَهُمُ الۡعَذَابَ ؕ بَلۡ لَّهُمۡ
مَّوۡعِدٌ لَّنۡ يَّجِدُوۡا مِنۡ دُوۡنِهٖ مَوۡئِلًا ﴿۵۸﴾ وَ تِلۡكَ الۡقُرٰۤى اَهۡلَكۡنٰهُمۡ لَمَّا ظَلَمُوۡا وَ جَعَلۡنَا
لِمَهۡلِكِهِمۡ مَّوۡعِدًا ﴿۵۹﴾ ع

۽ تنهنجو رب بخشڻ وارو، رحمت وارو آهي. جيڪڏهن هو سندن عملن تي کين پڪڙي ته جلد ئي انهن تي عذاب موڪلي ڇڏي، پر انهن لاءِ هڪ مقرر وقت آهي ۽ هو ان جي مقابلي ۾ ڪا به پناهه جي جاءِ نه لهندا ۽ اهي بستيون آهن جن کي اسان ناس ڪري ڇڏيو، جڏهن ته اهي ظالم بڻجي ويا ۽ اسان انهن جي هلاڪت جو هڪ وقت مقرر ڪيو هو. ٥٨-٥٩

---

ماڻهو حق جي مقابلي ۾ سرڪشي ڪندو آهي ته ان کي فوراً ان جي سزا نه ٿي ملي، ان ڪري هو غلط فهمي ۾ پئجي خود کي آزاد سمجهي ٿو ۽ وڌيڪ سرڪشي ڪرڻ لڳندو آهي. جڏهن ته پڪڙ نه ٿيڻ جو سبب امتحان جي مهلت جي ڪري هوندو آهي نه وري آزادي ۽ خودمختياري جي ڪري.

ماڻهو نصيحت وٺڻ چاهي ته ماضي جو انجام ان جي سامهون موجود آهي، جنهن مان هو حال جي لاءِ نصيحت وني سگهي ٿو. زمين تي بار بار مختلف قومون ۽ تهذيبون اڀرنديون آهن ۽ تباهه ڪيون وينديون آهن. جڏهن اڳين نسلن سان ايئن ٿيو جو انهن کي سندن سرڪشي جي سزا ملي ته اچڻ وارن نسلن سان ساڳيو واقعو ڇو نه ٿيندو.

وَ اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِفَتٰىهُ لَاۤ اَبْرَحُ حَتّٰۤى اَبْلُغَ مَجْمَعَ الْبَحْرَيْنِ اَوْ اَمْضِيَ حُقُبًا ﴿٦٠﴾ فَلَمَّا
بَلَغَا مَجْمَعَ بَيْنِهِمَا نَسِيَا حُوْتَهُمَا فَاتَّخَذَ سَبِيْلَهٗ فِي الْبَحْرِ سَرَبًا ﴿٦١﴾ فَلَمَّا جَاوَزَا قَالَ
لِفَتٰىهُ اٰتِنَا غَدَآءَنَا ٚ لَقَدْ لَقِيْنَا مِنْ سَفَرِنَا هٰذَا نَصَبًا ﴿٦٢﴾

۽ جڏهن موسيٰ پنهنجي شاگرد کي چيو ته آئون هلندو رهندس جيستائين ٻنهي درياءَن جي گڏجڻ جي جاءِ تي پهچي وڃان يا اهڙي طرح ورهين جا ورهين هلندو ئي رهان. پوءِ جڏهن هو درياءَن جي گڏ ٿيڻ واري هنڌ پهتا ته هنن پنهنجي مڇي کي وساريو ۽ مڇي دريا ۾ پنهنجي راهه ورتي. پوءِ جڏهن هو اڳتي وڌيا ته موسيٰ پنهنجي شاگرد کي چيو ته اسان جو طعام آڻ. اسان کي هن سفر ڏاڍو ٿڪائي وڌو آهي. ٦٠-٦٢

---

خدا فرشتن جي ذريعي دنيا جو مسلسل انتظام هلائي رهيو آهي. انسان چاڪاڻ ته ان انتظام کي نه ٿو ڏسي، ان ڪري هو ان جي ڳجهه کي پوري طرح سمجهي نه ٿو سگهي. هو گهٽ علم جي ڪري هر قسم جي شڪ ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي. ان جي علاج لاءِ الله تعاليٰ اڻ سڌي ريت مشاهدي جو انتظام ڪيو آهي. ان پنهنجي چونڊيل ٻانهن کي غيب جي دنيا جو مشاهدو ڪرايو، ته جيئن هو ان جي حڪمت کي پنهنجي اکين سان ڏسن ۽ ٻين انسانن کي ان کان باخبر ڪن. هتي حضرت موسيٰ عليه السلام جي جنهن واقعي جو ذڪر آهي، اِهو اهڙي ئي قسم جو هڪ جداگانه واقعو آهي، جنهن جي ذريعي حضرت موسيٰ کي الله تعاليٰ جي لڪيل نظام جي هڪ جهلڪ ڏيکاري وئي.

حضرت موسيٰ عليه السلام اهو سفر شايد مصر ۽ سوڊان جي وچ ۾ پنهنجي هڪ نوجوان شاگرد (يوشع بن نون) سان گڏ ڪيو هو. الله تعاليٰ بطور علامت انهن کي ٻڌايو هو ته توهان هلندا رهو، جيستائين توهان ان جاءِ تي پهچو جتي ٻه دريا پاڻ ۾ ملندا هجن ته اتي توهان کي اسان جو هڪ ٻانهو شايد (انسان جي شڪل ۾ فرشتو) ملندو تون ان سان گڏجي پئجانءِ.

قَالَ اَرَءَيْتَ اِذْ اَوَيْنَاۤ اِلَى الصَّخْرَةِ فَاِنِّيْ نَسِيْتُ الْحُوْتَ ٚ وَ مَاۤ اَنْسٰنِيْهُ اِلَّا الشَّيْطٰنُ
اَنْ اَذْكُرَهٗ ۚ وَ اتَّخَذَ سَبِيْلَهٗ فِي الْبَحْرِ ۖ عَجَبًا ﴿٦٣﴾ قَالَ ذٰلِكَ مَا كُنَّا نَبْغِ ۖ فَارْتَدَّا عَلٰۤى
اٰثَارِهِمَا قَصَصًا ﴿٦٤﴾ فَوَجَدَا عَبْدًا مِّنْ عِبَادِنَاۤ اٰتَيْنٰهُ رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا وَ عَلَّمْنٰهُ مِنْ
لَّدُنَّا عِلْمًا ﴿٦٥﴾

شاگرد چيو ڇا تو ڏٺو ته جڏهن اسان ان پٿر وٽ ترسياسون ته مون مڇي کي وساري ڇڏيو ۽ مون کي شيطان ان جو ذڪر ڪرڻ وساري ڇڏيو ۽ مڇي عجيب طريقي سان نڪري دريا ۾ هلي وئي. موسيٰ چيو اهائي آهي جنهن جي اسان کي تلاش هئي، پوءِ ٻئي پنهنجن پيرن جا نشان ڏسندي واپس موٽيا ته انهن کي اتي اسان جي ٻانهن مان هڪ ٻانهو مليو. جنهن کي اسان پاڻ وٽان رحمت ڏني هئي ۽ جنهن کي پاڻ وٽان هڪ علم سيکاريو هو. ٦٣-٦٥

---

حضرت موسيٰ عليه السلام کي وڏيڪ نشاني اها ٻڌائي وئي هئي ته تون جڏهن گهربل مقام تي پهچندي ته تنهنجي نيرن جي مڇي عجيب طريقي سان پاڻي ۾ هلي ويندين. اهو واقعو هڪ جاءِ تي ٿيو، پر مڇي

شاگرد وٽ هئي ۽ شاگرد ڪنهن سبب جي ڪري حضرت موسيٰؑ کي ٻڌائي نه سگهيو ته اهڙو واقعو ٿيو آهي . ڪجھ اڳيان هلڻ کان پوءِ جڏهن حضرت موسيٰؑ کي خبر پئي ته هو فوراً واپس موٽيا ۽ ان جاءِ تي ان ٻانهي (خضر) کي ڏٺو جنهن سان ملڻ لاءِ انهن اِهو ڏگهو سفر ڪيو هو.

قَالَ لَهٗ مُوْسٰى هَلْ اَتَّبِعُكَ عَلٰٓى اَنْ تُعَلِّمَنِ مِمَّا عُلِّمْتَ رُشْدًا ۝٦٦ قَالَ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ
مَعِيَ صَبْرًا ۝٦٧ وَ كَيْفَ تَصْبِرُ عَلٰى مَا لَمْ تُحِطْ بِهٖ خُبْرًا ۝٦٨ قَالَ سَتَجِدُنِيْٓ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ
صَابِرًا وَّ لَآ اَعْصِيْ لَكَ اَمْرًا ۝٦٩ قَالَ فَاِنِ اتَّبَعْتَنِيْ فَلَا تَسْـَٔلْنِيْ عَنْ شَيْءٍ حَتّٰٓى اُحْدِثَ
لَكَ مِنْهُ ذِكْرًا ۝٧٠ ع ۹ ۲۱

موسيٰ ڪيس چيو ڇا آئون توسان رهي سگهان ٿو، ته جيئن تون مون کي ان علم مان سيکارين جيڪو توکي سيکاريو ويو آهي. ان چيو ته تون مون سان صبر نه ڪري سگهندين ۽ تون ان شيءِ تي ڪيئن صبر ڪري سگهندين جنهن جي توکي خبر ئي نه آهي. موسيٰ چيو انشاءالله تون مون کي صبر ڪرڻ وارن مان لهندين ۽ آئون ڪنهن ڳالھ ۾ تنهنجي نافرماني نه ڪندس. ان چيو ته جيڪڏهن تون مون سان گڏ هلين ٿو ته مون کان ڪا ڳالھ نه پڇجانءِ، جيستائين آئون پاڻ توسان ان جو ذڪر نه ڪريان. ٦٦-٧٠

---

ان ٻانهي (خضر) کي الله تعاليٰ خاص علم ۽ طاقت عطا ڪئي هئي، ته جيئن ان مطابق هو دنيا جي معاملن ۾ غيرمعمولي دخل ڏئي سگهي. ان علم جي تحت هو اڪثر عام ضابطن جي خلاف عمل ڪندو هو. ان ڪري ان حضرت موسيٰ جي فرمائش تي چيو ته تون ان کي برداشت نه ڪري سگهندين.

فَانْطَلَقَا ٚ حَتّٰٓى اِذَا رَكِبَا فِي السَّفِيْنَةِ خَرَقَهَا ؕ قَالَ اَخَرَقْتَهَا لِتُغْرِقَ اَهْلَهَا ۚ لَقَدْ
جِئْتَ شَيْـًٔا اِمْرًا ۝٧١ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِيَ صَبْرًا ۝٧٢ قَالَ لَا تُؤَاخِذْنِيْ بِمَا
نَسِيْتُ وَ لَا تُرْهِقْنِيْ مِنْ اَمْرِيْ عُسْرًا ۝٧٣ فَانْطَلَقَا ٚ حَتّٰٓى اِذَا لَقِيَا غُلٰمًا فَقَتَلَهٗ ۙ قَالَ
اَقَتَلْتَ نَفْسًا زَكِيَّةًۢ بِغَيْرِ نَفْسٍ ؕ لَقَدْ جِئْتَ شَيْـًٔا نُّكْرًا ۝٧٤

پوءِ ٻئي هليا ايستائين جو هو ٻيڙي ۾ سوار ٿيا ته ان شخص ٻيڙي ۾ سوراخ ڪري ڇڏيو. موسيٰ چيو ته ڇا تو هن ٻيڙي ۾ ان لاءِ سوراخ ڪيو ته ٻيڙي وارن کي ٻوڙين، اها ته تو وڏي سخت شيءِ ڪري وڏي. ان چيو مون توکي نه چيو هو ته تون مون سان صبر نه ڪري سگهندين. موسيٰ چيو منهنجي ويسر تي مون کي نه پڪڙ ۽ منهنجي معاملي ۾ سختي نه ڪر. پوءِ هو ٻئي هليا ايستائين جو هڪ ڇوڪري سان مليا ته ان شخص ان کي ماري ڇڏيو. موسيٰ چيو ڇا تو هڪ معصوم جان کي ماري وڌو، حالانڪ ان ڪنهن جو خون نه ڪيو هو. اهو ته تو هڪ خراب ڪم ڪيو. ٧١-٧٤

---

سني ٻيڙي کي عيبدار بڻائڻ ۽ ڇوڪري کي مارڻ بظاهر اهڙا ڪم آهن جيڪي صحيح نه آهن. پر جيئن ته اڳتي جون آيتون ٻڌائين ٿيون ته ان ۾ نهايت گهري مصلحت لڪيل هئي. اهي بظاهر غلط ڪم حقيقت جي لحاظ کان بلڪل صحيح ۽ فائدي وارا ڪم هئا.

هن ۾ ان مسئلي جو بہ هڪ جواب آهي، جنهن کي عام طور تي خرابي جو مسئلو (Problem of evil) چيو ويندو آهي. انساني دنيا جون گهڻيون ئي شيون جن کي ڏسي اهو سمجهي وٺبو آهي تہ دنيا جي نظام ۾ خرابيون آهن، پر اهي گهري مصلحت جي ڪري هونديون آهن. موجوده زندگي ۾ بيشڪ ان مصلحت تي پردو پيل آهي. پر آخرت ۾ اهو پردو باقي نہ رهندو. ان وقت ماڻهو ڄاڻي وٺندو تہ جيڪو ڪجهہ ٿيو اهوئي ٿيڻ گهرجي ها.

الجزء السادس عشر (١٦)

قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكَ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِيَ صَبْرًا﴿٧٥﴾ قَالَ اِنْ سَاَلْتُكَ عَنْ شَيْءٍۭ بَعْدَهَا فَلَا تُصٰحِبْنِيْ ۚ قَدْ بَلَغْتَ مِنْ لَّدُنِّيْ عُذْرًا﴿٧٦﴾ فَانْطَلَقَا ٚ حَتّٰٓى اِذَآ اَتَيَآ اَهْلَ قَرْيَةِ اِۨسْتَطْعَمَآ اَهْلَهَا فَاَبَوْا اَنْ يُّضَيِّفُوْهُمَا فَوَجَدَا فِيْهَا جِدَارًا يُّرِيْدُ اَنْ يَّنْقَضَّ فَاَقَامَهٗ ؕ قَالَ لَوْ شِئْتَ لَتَّخَذْتَ عَلَيْهِ اَجْرًا﴿٧٧﴾ قَالَ هٰذَا فِرَاقُ بَيْنِيْ وَ بَيْنِكَ ۚ سَاُنَبِّئُكَ بِتَاْوِيْلِ مَا لَمْ تَسْتَطِعْ عَّلَيْهِ صَبْرًا﴿٧٨﴾

ان شخص چيو ڇا مون توکي نہ چيو هو تہ تون مون سان صبر نہ ڪري سگهندين. موسيٰ چيو تہ هن کان پوءِ جيڪڏهن آئون توکان ڪنهن شيءِ جي متعلق پڇان تہ تون مون کي پاڻ سان گڏ نہ رکجانءِ. پوءِ تون منهنجي پاران عذر جي حد کي پهتين، پوءِ ٻئي هليا ايستائين جو هو بستي جو (وسندين) وارن وٽ پهتا تہ اتي وارن کان کاڌو گهريائون، انهن سندن ميزباني کان انڪار ڪري ڇڏيو. پوءِ انهن کي اتي هڪ ڀت ملي جيڪا ڪرڻ تي هئي تہ هن ان کي سڌو ڪري ڇڏيو. موسيٰ چيو تہ جيڪڏهن تون چاهين ها تہ ان تي ڪجهہ مزدوري وٺين ها. ان چيو تہ هاڻي اها تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ جدائي آهي. آئون توکي انهن ڳالهين جي حقيقت ٻڌائيندس جن تي تون صبر نہ ڪري سگهين. ٧٥-٧٨

---

حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ حضرت خضر عليه السلام جهڙا خدا جا مقرب ٻانها هڪ بستي ۾ پهچندا آهن ۽ چاهين ٿا تہ بستي وارا مهمان سمجهي انهن کي ماني کارائين، پر بستي وارا ماني کارائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندا آهن. ان مان معلوم ٿيو تہ ڪنهن جو صادق ۽ مقرب ٿيڻ ڪافي نہ آهي جو هو ڏسڻ وارن کي بہ صادق ۽ مقرب نظر اچي. جيڪڏهن بستي وارا کين سڃاڻين ها تہ ضرور هو کين پنهنجو خاص مهمان بڻائين ها ۽ انهن کان فيض حاصل ڪن ها. پر انهن جي معمولي حليي جي ڪري انهن کين نظرانداز ڪري ڇڏيو. بستي وارا انهن جي اندروني حقيقت جي لحاظ کان انهن کي ڏسي نہ سگهيا.

ناخوشگوار سلوڪ جي باوجود حضرت خضر عليه السلام بستي وارن جي هڪ ڪرندڙ ڀت سڌي ڪري ڇڏي. الله تعاليٰ جي سچن ٻانهن جو ٻين سان سلوڪ جوابي سلوڪ نہ هوندو آهي، بلڪ هرحال ۾ اهوئي سلوڪ هوندو آهي جيڪو حق جي مطابق انهن لاءِ درست هجي.

اَمَّا السَّفِيْنَةُ فَكَانَتْ لِمَسٰكِيْنَ يَعْمَلُوْنَ فِي الْبَحْرِ فَاَرَدْتُّ اَنْ اَعِيْبَهَا وَ كَانَ وَرَآءَهُمْ مَّلِكٌ يَّاْخُذُ كُلَّ سَفِيْنَةٍ غَصْبًا﴿٧٩﴾

ٻيڙي جو معاملو اهو آهي ته اُها ڪجهه مسڪينن جي هئي، جيڪي دريا ۾ محنت ڪندا هئا ته مون چاهيو ته ان کي عيب وارو بڻائي ڇڏيان ۽ اڳيان هڪ بادشاهه هو، جيڪو هر ٻيڙي کي زوري کسي وٺندو هو. ٧٩

حضرت خضر عليه السلام ٻيڙي کي بيڪار نه ڪيو هو، بلڪ وقتي طور ان کي عيبدار بڻائي ڇڏيو. ان جي مصلحت اها هئي ته ٻيڙي جنهن طرف وڃي رهي هئي، ان پاسي هڪ بادشاهه هو جيڪو پنهنجي ڪنهن جنگي مهم جي لاءِ سٺين ٻيڙين کي زبردستي پنهنجي قبضي ۾ وٺي رهيو هو. تنهن ڪري هن ٻيڙي کي اهڙو ڪري ڇڏيو جو بادشاهه جا ڪامورا ان کي عيبدار ڏسي ان کي ڇڏي ڏين.

ان مان معلوم ٿيو ته دنيا ۾ ڪنهن سان ڪو حادثو پيش اچي ته ان کي گهرجي ته هو مايوس نه ٿئي. هو اهو سوچي ان تي راضي ٿي وڃي ته الله تعاليٰ جيڪو ڪجهه ڪيو آهي، ان ۾ ان جي لاءِ ڪو فائدو لڪيل هوندو. جيتوڻيڪ هو اڃا ان کان پوري طرح باخبر نه آهي.

وَ اَمَّا الۡغُلٰمُ فَكَانَ اَبَوٰهُ مُؤۡمِنَيۡنِ فَخَشِيۡنَاۤ اَنۡ يُّرۡهِقَهُمَا طُغۡيَانًا وَّ كُفۡرًا ﴿۸۰﴾ فَاَرَدۡنَاۤ اَنۡ يُّبۡدِلَهُمَا رَبُّهُمَا خَيۡرًا مِّنۡهُ زَكٰوةً وَّ اَقۡرَبَ رُحۡمًا ﴿۸۱﴾

۽ ڇوڪري جو معاملو اهو آهي ته ان جا ماءُ پيءُ مؤمن هئا. اسان کي انديشو هو ته هو وڏو ٿي ڪري پنهنجي سرڪشي ۽ ڪفر سان انهن کي عاجز ڪري ها. تنهن ڪري اسان چاهيو ته انهن جو رب انهن کي ان جي جاءِ تي اهڙي اولاد ڏي جيڪو پاڪيزگي ۾ ان کان بهتر هجي ۽ شفقت ڪندڙ هجي. ٨٠-٨١

ڇوڪري جو مثال ٻڌائي ٿو ته الله تعاليٰ پنهنجن ٻانهن جي مدد ڪٿي ڪندو آهي، ايستائين جو هو اهڙن معاملن ۾ به سندن مدد ڪندو آهي، جنهن جو انهن کي علم به نه هوندو آهي جو هو ان لاءِ پنهنجي رب کان سوال ڪري سگهن. انسان کي گهرجي ته هو هميشه صبر ۽ شڪر جو رويو اختيار ڪري. هو هر حال ۾ الله تعاليٰ مان خير جي اميد رکي. الله تعاليٰ سڄو علم رکندو آهي. ان ڪري هو ڪنهن ٻانهي جي ڀلائي کي ان کان وڌيڪ ڄاڻي ٿو، جيڪو انسان ٿوري علم جي ڪري نه ٿو ڄاڻي سگهي.

وَ اَمَّا الۡجِدَارُ فَكَانَ لِغُلٰمَيۡنِ يَتِيۡمَيۡنِ فِى الۡمَدِيۡنَةِ وَكَانَ تَحۡتَهٗ كَنۡزٌ لَّهُمَا وَكَانَ اَبُوۡهُمَا صَالِحًا‌ۚ فَاَرَادَ رَبُّكَ اَنۡ يَّبۡلُغَاۤ اَشُدَّهُمَا وَيَسۡتَخۡرِجَا كَنۡزَهُمَا ‌ۖ رَحۡمَةً مِّنۡ رَّبِّكَ‌ ۚ وَمَا فَعَلۡتُهٗ عَنۡ اَمۡرِىۡ‌ ؕ ذٰلِكَ تَاۡوِيۡلُ مَا لَمۡ تَسۡطِعْ عَّلَيۡهِ صَبۡرًا ؕ﴿۸۲﴾

۽ ڀت جو معاملو اهو آهي ته اها شهر جي ٻن يتيم ڇوڪرن جي هئي ۽ ان ديوار هيٺان سندن هڪ خزانو دفن هو ۽ انهن جو پيءُ هڪ نيڪ ماڻهو هو، تنهن ڪري تنهنجي رب چاهيو ته هو ٻئي پنهنجي جواني جي عمر کي پهچن ۽ پنهنجو خزانو ڪڍن. اهو تنهنجي رب جي رحمت سان ٿيو ۽ مون ان کي پنهنجي مرضي سان نه ڪيو. اها آهي حقيقت انهن ڳالهين جي جن تي تون صبر نه ڪري سگهين. ٨٢

ان مثال مان اندازو ٿيندو آهي ته الله تعاليٰ هر وقت موجوده دنيا جي نگراني ڪري رهيو آهي.

ان جيتوڻيڪ امتحان جي مصلحت جي ڪري هن دنيا جو نظام اسباب جي تحت قائم ڪري رکيو آهي، پر ان سان گڏ هو ان نظام ۾ هر هر مداخلت ڪندو رهي ٿو. خدا ڪٿي تعمير جو طريقو اختيار ڪندو آهي ۽ ڪٿي بظاهر تخريب جو. پر وسيع تر مصلحت جي لحاظ کان سڀ ان جي رحمت هوندي آهي ۽ ان ڳالھ جو يقين حاصل ڪرڻ هوندو آهي ته اسباب جي ڪري تخليق جا اصل مقصد فوت نه ٿي وڃن.

وَ يَسۡـَٔلُوۡنَكَ عَنۡ ذِى الۡقَرۡنَيۡنِ ؕ قُلۡ سَاَتۡلُوۡا عَلَيۡكُمۡ مِّنۡهُ ذِكۡرًا ؕ﴿٨٣﴾ اِنَّا مَكَّنَّا لَهٗ فِى الۡاَرۡضِ وَ اٰتَيۡنٰهُ مِنۡ كُلِّ شَىۡءٍ سَبَبًا ﴿٨٤﴾

۽ اُهي توکان ذوالقرنين جو حال پڇندا آهن چئو ته آئون ان جو ڪجھ حال توهان جي سامهون بيان ڪندس. اسان ان کي زمين ۾ اقتدار ڏنو هو ۽ اسان ان کي هر شيءِ جو سامان ڏنو سون. ٨٣-٨٤

---

ذوالقرنين جي لفظي معنيٰ آهي ٻن سڱن وارو، يعني اهو بادشاهه جنهن جي فتح جو سلسلو دنيا جي ٻنهي ڪنڊن (اوڀر ۽ اولھ) تائين پهتل هجي. هتي ذوالقرنين مان مراد گهڻو ڪري ايراني بادشاهه خسرو (Cyrus) آهي. ان جو زمانو پنجين صدي قبل مسيح جو آهي. ان قديم آباد دنيا جو وڏو حصو فتح ڪري ڇڏيو هو ۽ آخرڪار هڪ جنگ ۾ مارجي ويو هو. نهايت منصف ۽ انصاف ڪندڙ بادشاهه هو.

فَاَتۡبَعَ سَبَبًا ﴿٨٥﴾ حَتّٰۤى اِذَا بَلَغَ مَغۡرِبَ الشَّمۡسِ وَجَدَهَا تَغۡرُبُ فِىۡ عَيۡنٍ حَمِئَةٍ وَّ وَجَدَ عِنۡدَهَا قَوۡمًا ؕ قُلۡنَا يٰذَا الۡقَرۡنَيۡنِ اِمَّاۤ اَنۡ تُعَذِّبَ وَ اِمَّاۤ اَنۡ تَتَّخِذَ فِيۡهِمۡ حُسۡنًا ﴿٨٦﴾ قَالَ اَمَّا مَنۡ ظَلَمَ فَسَوۡفَ نُعَذِّبُهٗ ثُمَّ يُرَدُّ اِلٰى رَبِّهٖ فَيُعَذِّبُهٗ عَذَابًا نُّكۡرًا ﴿٨٧﴾ وَ اَمَّا مَنۡ اٰمَنَ وَ عَمِلَ صَالِحًا فَلَهٗ جَزَآءَ ۨالۡحُسۡنٰى ۚ وَ سَنَقُوۡلُ لَهٗ مِنۡ اَمۡرِنَا يُسۡرًا ﴿٨٨﴾

پوءِ ذوالقرنين هڪ راھ طرف هليو، ايستائين جو هو سج لهڻ جي مقام تي پهچي ويو. ان سج کي ڏٺو ته هو هڪ ڪاري پاڻي ۾ لهي رهيو هو ۽ اتي ان کي هڪ قوم ملي. اسان چيو ته اي ذوالقرنين تون چاهين ته انهن کي سزا ڏين ۽ چاهين ته انهن سان سٺو سلوڪ ڪرين. ان چيو ته جيڪو انهن مان ظلم ڪندو، اسان ان کي سزا ڏينداسون. پوءِ هو پنهنجي رب وٽ پهچايو ويندو. پوءِ هو ان کي سخت سزا ڏيندو ۽ جيڪو ماڻهو ايمان آڻيندو ۽ نيڪ عمل ڪندو، ان لاءِ سٺو بدلو آهي ۽ اسان به ان سان آسان معاملو ڪنداسون. ٨٥-٨٨

---

ذوالقرنين گهڻو ڪري ايران جو اولھ پاسو فتح ڪندي ايشيا مائنر تائين پهچي ويو، جتي ايجين سمنڊ (Aegean Sea) جو ”ڪارو پاڻي“ خشڪي جي حدبندي ڪري رهيو هو، هتي هڪ ماڻهو جيڪڏهن ساحل جي ڪناري بيهي سمنڊ ڏانهن ڏسي ته شام جي وقت ان کي نظر ايندو ته ڄڻ سج جو گولو پاڻي ۾ داخل ٿي ان جي اندر ٻڏي رهيو آهي. اهو مثال جي زبان ۾ ان حد جو بيان آهي، جيستائين ذوالقرنين پهتو هو.

ذوالقرنين سمنڊ جي ان ڪاري تائين بطور سياح نه آيو هو، بلڪ هڪ فاتح طور آيو هو. هتي ان وقت جيڪا قوم آباد هئي، ان تي ان کي پورو اختيار ملي ويو. انهن تي سندس حڪومت قائم ٿي وئي،

بحيثيت حاڪم ان کي ڪامل اختيار حاصل هو ته هو انهن سان جيڪو چاهي ڪري، جيئن ته ذوالقرنين هڪ عادل بادشاهه هو. هن ڪنهن تي ڪو ظلم نه ڪيو. ان عام اعلان ڪيو ته اسان صرف ان ماڻهو سان سختي ڪنداسون جيڪو برائي ڪندي ڏنو ويو، جيڪي ماڻهو امن سان رهندا، انهن تي ڪا به زيادتي نه ڪئي ويندي.

ثُمَّ اَتْبَعَ سَبَبًا ﴿٨٩﴾ حَتّٰۤى اِذَا بَلَغَ مَطْلِعَ الشَّمْسِ وَجَدَهَا تَطْلُعُ عَلٰى قَوْمٍ لَّمْ نَجْعَلْ لَّهُمْ مِّنْ دُوْنِهَا سِتْرًا ﴿٩٠﴾ كَذٰلِكَ ؕ وَ قَدْ اَحَطْنَا بِمَا لَدَيْهِ خُبْرًا ﴿٩١﴾

پوءِ هو هڪ راهه طرف هليو. ايستائين جو هو سج نڪرڻ جي جاءِ تي پهتو ته ان سج کي هڪ اهڙي قوم تي ايرندي ڏٺو جن لاءِ اسان سج کان سواءِ ڪا اوٽ نه ٻڌائي هئي. اهڙي طرح (سندس قصو آهي) ۽ اسان ذوالقرنين جي احوال کان باخبر آهيون. ٨٩-٩١

---

ذوالقرنين جي ٻي مهم ايران جي اوڀر ڏانهن هئي. هو فتح ڪندي اڳيان وڌيو، ايستائين جو هو اهڙي مقام تي پهچي ويو جتي بلڪل غيرمهذب ماڻهو رهندا هئا، ”انهن جي ۽ سج جي وچ ۾ ڪا اوٽ نه هئي.“ ان جو مطلب اهو آهي ته اُهي خانه بدوش هئا ۽ تعمير ڪيل گهرن ۾ رهڻ جي بجاءِ کليل ميدانن ۾ زندگي گذاريندا هئا.

ثُمَّ اَتْبَعَ سَبَبًا ﴿٩٢﴾ حَتّٰۤى اِذَا بَلَغَ بَيْنَ السَّدَّيْنِ وَجَدَ مِنْ دُوْنِهِمَا قَوْمًا ۙ لَّا يَكَادُوْنَ يَفْقَهُوْنَ قَوْلًا ﴿٩٣﴾ قَالُوْا يٰذَا الْقَرْنَيْنِ اِنَّ يَاْجُوْجَ وَ مَاْجُوْجَ مُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ فَهَلْ نَجْعَلُ لَكَ خَرْجًا عَلٰۤى اَنْ تَجْعَلَ بَيْنَنَا وَ بَيْنَهُمْ سَدًّا ﴿٩٤﴾

پوءِ هو هڪ راهه طرف هليو، ايستائين جو هو ٻن جبلن جي وچ ۾ پهتو ته اُتي ان هڪ قوم کي ڏٺو، جيڪا ڪا ڳالهه سمجهي نه ٿي سگهي. انهن چيو ته اي ذوالقرنين ياجوج ۽ ماجوج ملڪ ۾ فساد مچائيندا آهن ته پوءِ ڇا اسان تو کي ڪجهه خرچ ڏيون جو تون اسان جي ۽ انهن جي وچ ۾ ڪا ديوار ٺاهين. ٩٢-٩٤

---

ذوالقرنين جي ٽئين مهم ايران جي ڏکڻ ۽ اوڀر ڏانهن هئي. هو اهڙي علائقي ۾ پهتو جتي بلڪل جاهل قسم جا ماڻهو آباد هئا، ٻين قومن سان سندن ميل ميلاپ نه ٿي سگهيو هو، تنهن ڪري اُهي ڪا ٻي زبان مشڪل سان ئي سمجهي سگهندا هئا.

اهي شايد ڪيسپين سمنڊ ۽ سمنڊ اسود جي وچ جا جبل هئا، جتي وحشي قبيلا ٻي طرف کان اچي حملو ڪندا هئا ۽ تباهي ڦهلائي وري جبلن جي وچان رستي مان ڀڄي ويندا هئا. ذوالقرنين هتي ٻنهي جبلن جي وچ ۾ لوهه جي ڀت کڙي ڪري ڇڏي.

قَالَ مَا مَكَّنِّيْ فِيْهِ رَبِّيْ خَيْرٌ فَاَعِيْنُوْنِيْ بِقُوَّةٍ اَجْعَلْ بَيْنَكُمْ وَ بَيْنَهُمْ رَدْمًا ﴿٩٥﴾ اٰتُوْنِيْ زُبَرَ الْحَدِيْدِ ؕ حَتّٰۤى اِذَا سَاوٰى بَيْنَ الصَّدَفَيْنِ قَالَ انْفُخُوْا ؕ حَتّٰۤى اِذَا جَعَلَهٗ نَارًا ۙ قَالَ

اٰتُوۡنِیۡۤ اُفۡرِغۡ عَلَیۡهِ قِطۡرًا ﴿ؕ۹۶﴾ فَمَا اسۡطَاعُوۡۤا اَنۡ یَّظۡهَرُوۡهُ وَ مَا اسۡتَطَاعُوۡا لَهٗ نَقۡبًا ﴿۹۷﴾ قَالَ
هٰذَا رَحۡمَةٌ مِّنۡ رَّبِّیۡ ۚ فَاِذَا جَآءَ وَعۡدُ رَبِّیۡ جَعَلَهٗ دَكَّآءَ ۚ وَ كَانَ وَعۡدُ رَبِّیۡ حَقًّا ﴿ؕ۹۸﴾

ذوالقرنين جواب ڏنو تہ جيڪو ڪجهہ منهنجي رب مون کي ڏنو آهي سو گهڻو آهي. توهان محنت سان منهنجي مدد ڪريو. آئون توهان جي ۽ انهن جي وچ ۾ هڪ پٽ ٺاهيندس. توهان لوهہ جا تختا آڻي مون کي ڏيو، ايستائين جڏهن ان ٻنهي جي وچ جي خالي هنڌ کي ڀري ڇڏيو تہ ماڻهن کي چيو تہ باهہ ڦوڪيو، ايستائين جڏهن ان کي تپائي باهہ ڪري ڇڏيو تہ چيائين تہ ڏيو تہ آئون ان تي پگهريل ٽامو وجهي ڇڏيان، تہ پوءِ (ياجوج ۽ ماجوج) نہ تہ مٿس چڙهي ٿي سگهيا ۽ نہ وري ان ۾ سوراخ ڪري ٿي سگهيا. ذوالقرنين چيو تہ هي منهنجي رب جي رحمت آهي، پوءِ جڏهن منهنجي رب جو واعدو ايندو تہ هو کيس ڊاهي برابر ڪري ڇڏيندو ۽ منهنجي رب جو واعدو سچو آهي. ٩٥-٩٨

---

موجوده اشتراڪي روس جي علائقي ۾ قفقاز جبل (Caucasus Mountains)آهن. انهن جو سلسلو ڪيسپين سمنڊ ۽ ڪاري سمنڊ جي وچ ۾ ڦهليل آهي. اهي اوچا جبل آهن جيڪي يورپ ۽ ايشيا جي وچ ۾ قدرتي پٽ جو ڪم ڏيندا آهن. ان جابلو سلسلي ۾ ڪجهہ جاين تي جبلن جي وچ ۾ رستا آهن جن مان ڏکڻ واري علائقي مان ياجوج ماجوج جا وحشي قبيلا اتر ڏانهن ايندا هئا ۽ ايراني سرزمين جي حصي ۾ قتل و غارت ڪندا هئا. هتي اڄ بہ هڪ قديم پٽ جا آثار موجود آهن، گمان آهي تہ اها ئي اُها پٽ آهي جيڪا ذوالقرنين حفاظتي مقصد لاءِ تعمير ڪئي هئي.

دشمن جي مقابلي ۾ "لوهہ جي پٽ" ٺاهڻ هڪ اهڙو ڪارنامو آهي، جنهن جي ڪري عام طور تي ماڻهن ۾ فخر ۽ وڏائي جا جذبا پيدا ٿيندا آهن. پر ذوالقرنين اهڙي ناقابل شڪست پٽ ٺاهڻ کان پوءِ بہ پنهنجي عاجزي نہ وڃائي. ان جي نظر پنهنجي ٺهيل شيءِ تي نہ هئي، بلڪ اللّٰه تعاليٰ جي اختيار تي هئي ۽ اللّٰه تعاليٰ جي مقابلي ۾ ڪنهن انسان کي ڪو زور حاصل نہ آهي.

وَ تَرَكۡنَا بَعۡضَهُمۡ یَوۡمَئِذٍ یَّمُوۡجُ فِیۡ بَعۡضٍ وَّ نُفِخَ فِی الصُّوۡرِ فَجَمَعۡنٰهُمۡ جَمۡعًا ﴿ۙ۹۹﴾ وَّ عَرَضۡنَا
جَهَنَّمَ یَوۡمَئِذٍ لِّلۡكٰفِرِیۡنَ عَرۡضَا ﴿ۙ۱۰۰﴾ الَّذِیۡنَ كَانَتۡ اَعۡیُنُهُمۡ فِیۡ غِطَآءٍ عَنۡ ذِكۡرِیۡ وَ كَانُوۡا
لَا یَسۡتَطِیۡعُوۡنَ سَمۡعًا ﴿۱۰۱﴾ ع ۱۱

۽ ان ڏينهن اسان ماڻهن کي ڇڏي ڏينداسون جو هو موجن وانگر هڪ ٻئي سان پيا ٽڪرائيندا ۽ صور ڦوڪيو ويندو، پوءِ اسان سيني کي هڪ هنڌ گڏ ڪنداسون ۽ ان ڏينهن اسان جهنم کي منڪرن جي سامهون آڻينداسون. جن جي اکين تي منهنجي يادگيري کان پردا پيل هئا ۽ اهي ڪجهہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هئا. ٩٩-١٠١

---

قيامت اچڻ کان پوءِ موجوده دنيا هڪ ٻي دنيا ٻڌجي ويندي. ان وقت گهڻو ڪري ايئن ٿيندو جو دريائن ۽ جبلن جون موجوده حدبنديون ٽوڙي ختم ڪيون وينديون. انسانن جو هڪ هجوم هوندو جيڪو هڪ ٻئي سان ايئن ٽڪرائيندو جهڙي طرح سمنڊ جون لهرون ٽڪرائينديون آهن.

اڄ ماڻهن کي عقل جي اک سان جهنم ڏيکاري پئي وڃي تہ اها انهن کي نظر نہ ٿي اچي. قيامت

۾ ماڻهن کي اکين سان جهنم ڏيکاري ويندين. ان وقت هر ماڻهو ڏسي وٺندو. پر اهو ڏسڻ کنهن جي ڪجھ ڪم نہ ايندو. ڇاڪاڻ تہ نصيحت جي ذريعي جنهن پنهنجن اکين تان پردو هٽايو اهوئي ڏسڻ وارو آهي. قيامت جي ڏينهن پردو هٽايو وڃڻ تہ رڳو ان ڪري هوندو جو سرڪشي ڪرڻ وارن کي سندن آخري انجام تائين پهچائي ڇڏجي.

اَفَحَسِبَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اَنۡ يَّتَّخِذُوۡا عِبَادِىۡ مِنۡ دُوۡنِىۡۤ اَوۡلِيَآءَ‌ ؕ اِنَّاۤ اَعۡتَدۡنَا جَهَنَّمَ لِلۡكٰفِرِيۡنَ نُزُلًا ﴿١٠٢﴾

ڇا انڪار ڪرڻ وارا اهو سمجهن ٿا تہ هو مون کان سواءِ منهنجي ٻانهن کي پنهنجو مددگار بڻائيندا. اسان ڪافرن جي مهماني لاءِ جهنم تيار ڪري رکيو آهي. ١٠٢

---

حق کي مڃڻ الله تعاليٰ کي مڃڻ آهي ۽ حق کي نہ مڃڻ الله تعاليٰ کي نہ مڃڻ آهي. جڏهن بہ ماڻهو حق کي نہ ٿو مڃي تہ هو ڪنهن نہ ڪنهن شيءِ يا شخصيت جي ڀروسي تي ائين ڪندو آهي. اهڙو هر ڀروسو ڪوڙو ڀروسو آهي. ڇاڪاڻ تہ هن دنيا ۾ الله کان سواءِ ڪنهن کي ڪو اختيار حاصل نہ آهي. فيصلي جي ڏينهن اهڙن ماڻهن کي بچائڻ وارو ڪير بہ نہ هوندو. ڇاڪاڻ تہ بچائڻ وارو تہ صرف الله تعاليٰ هو. پر انهن ان جي حمايت کي سرڪشي سبب وڃائي ڇڏيو.

قُلۡ هَلۡ نُـنَبِّئُكُمۡ بِالۡاَخۡسَرِيۡنَ اَعۡمَالًا ؕ‏ ﴿١٠٣﴾ اَلَّذِيۡنَ ضَلَّ سَعۡيُهُمۡ فِى الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا وَهُمۡ يَحۡسَبُوۡنَ اَنَّهُمۡ يُحۡسِنُوۡنَ صُنۡعًا‏ ﴿١٠٤﴾ اُولٰۤـئِكَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمۡ وَلِقَآئِهٖ فَحَبِطَتۡ اَعۡمَالُهُمۡ فَلَا نُقِيۡمُ لَهُمۡ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ وَزۡنًا‏ ﴿١٠٥﴾ ذٰلِكَ جَزَآؤُهُمۡ جَهَـنَّمُ بِمَا كَفَرُوۡا وَاتَّخَذُوۡۤا اٰيٰتِىۡ وَرُسُلِىۡ هُزُوًا‏ ﴿١٠٦﴾

چئو ڇا آئون توهان کي ٻڌايان تہ پنهنجي عملن جي لحاظ کان سڀني کان وڌيڪ گهاٽي ۾ ڪهڙا ماڻهو آهن. اهي ماڻهو جن جون ڪوششون دنيا جي زندگي ۾ اجايون ويون ۽ اهي سمجهندا رهيا تہ هو سٺو ڪم ڪري رهيا آهن. اُهي ئي ماڻهو آهن جن پنهنجي رب جي نشانين جو ۽ ان سان ملڻ جو انڪار ڪيو. پوءِ انهن جو ڪيل برباد ٿي ويو. پوءِ قيامت جي ڏينهن اسان انهن کي ڪوبہ وزن نہ ڏينداسون. هي جهنم سندن بدلو آهي. ان ڪري جو انهن انڪار ڪيو ۽ منهنجي نشانين ۽ منهنجي رسولن کي مذاق ڪري ورتائون. ١٠٣-١٠٦

---

ماڻهو دنيا ۾ عمل ڪندو آهي. هو ڏسي ٿو تہ ان جي عمل جو نتيجو عزت ۽ دولت جي صورت ۾ ان کي ملي رهيو آهي. سندس ڪو ڪم ڪيس بگڙندي نظر نہ ٿو اچي ۽ هو سمجهي ٿو تہ آئون ڪامياب آهيان.

پر اها سراسر ناداني آهي. الله تعاليٰ وٽ زندگي جي ڪاميابي جو معيار آخرت آهي. اهڙي حالت ۾ دنيا جي ترقي کي ترقي سمجهڻ الله تعاليٰ جي منصوبي جي خلاف پنهنجو منصوبو ٺاهڻ آهي. اهو آخرت کي نظرانداز ڪري زندگي جي مسئلي کي ڏسڻو آهي. ظاهر آهي تہ اهڙا ماڻهو ڪڏهن بہ ڪامياب نٿا ٿي سگهن.

الله تعاليٰ پنهنجون نشانيون ظاهر ڪندو آهي، پر جيڪي ماڻهو پنهنجي ذهن کي دنيا ۾ لڳايل هجن، اُهي آخرت جي نشانين کان متاثر نہ ٿا ٿين. الله تعاليٰ پنهنجا دليل ڪولي ٿو، پر جيڪي ماڻهو دنيا جي ڳالهين ۾ گم هجن، انهن کي آخرت جا دليل متاثر نہ ٿا ڪن، اهڙا ماڻهو هدايت جي ڪناري تي هوندي بہ هدايت کي قبول ڪرڻ کان محروم رهندا آهن. انهن الله تعاليٰ جي ڳالهين کي ڪا اهميت نہ ڏني، پوءِ ڪيئن ممڪن آهي تہ الله تعاليٰ انهن کي پاڻ وٽ عزت جو مستحق سمجهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ كَانَتْ لَهُمْ جَنّٰتُ الْفِرْدَوْسِ نُزُلًا ﴿١٠٧﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا لَا يَبْغُوْنَ عَنْهَا حِوَلًا ﴿١٠٨﴾

بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن نيڪ عمل ڪيا، انهن لاءِ فردوس جي باغن جي مهماني آهي. ان ۾ هو هميشہ رهندا. اتان ڪڏهن بہ نڪرڻ نہ چاهيندا. ١٠٧-١٠٨

---

موجوده دنيا ۾ ايمان ۽ عمل صالح جي زندگي اختيار ڪرڻ زبردست قرباني جو ثبوت ڏيڻ آهي. اها لڪيل جنت جي ڪري نظر اچڻ واري جنت (دنيا) کي ڇڏڻ آهي، اهو ان سخت مشڪل امتحان ۾ پورو لهڻ آهي، جڏهن تہ ماڻهو مجرد پڌري دليل جي سطح تي حق کي سڃاڻيندو آهي ۽ پنهنجي زندگي ۾ انهيءَ حق واري رستي کي اختيار ڪندو آهي، حالانڪ ايئن ڪرڻ جو ان تي ڪو دٻاءُ نہ هوندو آهي.

جيڪي ماڻهو ان معرفت ۽ ڪارڪردگي جو ثبوت ڏين تہ سندن انعام اهوئي آهي تہ ڪين ابدي راحت ۽ آرام جي باغن ۾ داخل ڪيو وڃي.

قُلْ لَّوْ كَانَ الْبَحْرُ مِدَادًا لِّكَلِمٰتِ رَبِّيْ لَنَفِدَ الْبَحْرُ قَبْلَ اَنْ تَنْفَدَ كَلِمٰتُ رَبِّيْ وَ لَوْ جِئْنَا بِمِثْلِهٖ مَدَدًا ﴿١٠٩﴾

چئو تہ جيڪڏهن سمنڊ منهنجي رب جي نشانين کي لکڻ لاءِ مس ٿي وڃي تہ سمنڊ ختم ٿي ويندو، ان کان پهرين جو منهنجي رب جون ڳالهيون ختم ٿين، توڙي ڪٿي ان جي مدد لاءِ ٻيو بہ سمنڊ آڻيون. ١٠٩

---

جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ جي پيغام کي نہ ٿا مڃين، هو اهڙي شيءِ کي نہ ٿا مڃين جيڪا سيني ثابت ٿيل شين کان وڌيڪ ثابت ٿيل آهي، اها ايتري گهڻي تسليم ٿيل آهي جنهن کي لکڻ لاءِ دنيا جي سيني وڻن جا قلم بہ ناڪافي ثابت ٿيندا ۽ سيني سمنڊن جي مس بہ ختم ٿي ويندي. ان کان اڳ جو ان جي فهرست ختم ٿئي.

پر انسان ڪيڏو نہ ظالم آهي جو ان جي باوجود هو حق کي نہ ٿو سڃاڻي ۽ پنهنجي زندگي کي حق جي مطابق نہ ٿو تبديل ڪري.

قُلْ اِنَّمَاۤ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰۤى اِلَيَّ اَنَّمَاۤ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَمَنْ كَانَ يَرْجُوْا لِقَآءَ رَبِّهٖ
ع ١٢ فَلْيَعْمَلْ عَمَلًا صَالِحًا وَّ لَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهٖۤ اَحَدًا ﴿١١٠﴾

چؤ تہ آئون توهان وانگر ئي هڪ ماڻهو آهيان. مون تي وحي ايندي آهي تہ توهان جو معبود صرف هڪ ئي
معبود آهي. تنهن ڪري جنهن کي پنهنجي رب سان ملڻ جي اميد هجي، ان کي گهرجي تہ نيڪ عمل ڪري ۽
پنهنجي رب جي عبادت ۾ ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪري. ١١٠

---

پيغمبر خدا يا فرشتو نہ هوندو آهي، هو انسانن وانگر هڪ انسان هوندو آهي، ان جي خاص ڳالهہ اها هوندي آهي تہ ان تي ڏسڻ ۾ نہ اچڻ واري ذريعي سان خدا جي وحي ايندي آهي، ڄڻ تہ پيغمبر هڪ اهڙي هستي آهي جيڪو پنهنجي ظاهر جي لحاظ کان هڪ انسان آهي ۽ پنهنجي اندروني حقيقت جي لحاظ کان الله جو نمائندو.

اهوئي سبب آهي جو حق کي پائڻ جي لاءِ جوهر شناسي جي صلاحيت درڪار هوندي آهي، حق کي پائڻ صرف ان ماڻهو لاءِ ممڪن هوندو آهي، جيڪو حقيقت کي ان جي غيبي روپ ۾ ڏسي سگهي، جيڪو "انسان" جي سطح تي "پيغمبر" کي سڃاڻڻ جو ثبوت ڏي.

## (١٩) سُوْرَةُ مَرْيَمَ مَكِّيَّةٌ (٤٤)

اٰياتها ٩٨ — رکوعاتها ٦

### بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

كٓهٰيٰعٓصٓ ﴿١﴾ ذِكْرُ رَحْمَتِ رَبِّكَ عَبْدَهٗ زَكَرِيَّا ﴿٢﴾ اِذْ نَادٰى رَبَّهٗ نِدَآءً خَفِيًّا ﴿٣﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.
ڪهيعص - هي ان رحمت جو ذڪر آهي جيڪا تنهنجي رب پنهنجي ٻانهي زڪريا تي ڪئي. جڏهن ان پنهنجي
رب کي ڳجهي آواز سان پڪاريو. ١-٣

---

حضرت زڪرياؑ حضرت مريم جي ڀيڻ جو مڙس هو. حضرت مريم جي والد جو نالو عمران هو، حضرت مريم اڃا صرف ڪجهہ سالن جي هئي تہ ان جي والد جو انتقال ٿي ويو. هو گرجا جو ناظم اعليٰ هو. ان کان پوءِ حضرت زڪرياؑ گرجا جو ناظم اعليٰ مقرر ٿيو. ان زماني ۾ حضرت مريم پنهنجي والده جي نذر جي مطابق گرجا جي خدمت ۾ ڏني وئي هئي. حضرت زڪرياؑ چاڪاڻ تہ حضرت مريم جا ويجها عزيز هئا ۽ گرجا جا سردار بہ. ان ڪري اهي ئي حضرت مريم جي تربيت جا ذميدار مقرر ٿيا.

حضرت زڪرياؑ "ڳجهي آواز" ۾ الله تعاليٰ کان دعا گهري. اها دعا حيرت انگيز طور تي پوري ٿي. ان مان خبر پئي ٿي تہ سچي دعا ڇا هوندي آهي. سچي دعا اصل ۾ ان يقين جي بيقراري جو اظهار آهي تہ سچو اختيار صرف الله وٽ آهي، ان ئي جي ڏيڻ سان ماڻهو کي ملندو ۽ هو نہ ڏي تہ ڪڏهن بہ ڪنهن کي ڪجهہ بہ نہ ٿو ملي سگهي، سچي دعا جو سچو رخ صرف هڪ الله تعاليٰ ڏانهن هوندو آهي، اهوئي سبب آهي تہ سچي دعا سيني کان وڌيڪ ان وقت نڪرندي آهي جڏهن ماڻهو تنهائي ۾ هجي، جتي ان جي ۽ خدا جي سواءِ ڪو ٽيون نہ هجي.

قَالَ رَبِّ اِنِّيْ وَهَنَ الْعَظْمُ مِنِّيْ وَ اشْتَعَلَ الرَّاْسُ شَيْبًا وَّ لَمْ اَكُنْۢ بِدُعَآئِكَ رَبِّ
شَقِيًّا۝٤ وَ اِنِّيْ خِفْتُ الْمَوَالِيَ مِنْ وَّرَآءِيْ وَ كَانَتِ امْرَاَتِيْ عَاقِرًا فَهَبْ لِيْ مِنْ لَّدُنْكَ
وَلِيًّا۝٥ يَّرِثُنِيْ وَ يَرِثُ مِنْ اٰلِ يَعْقُوْبَ ۖ وَ اجْعَلْهُ رَبِّ رَضِيًّا۝٦

زڪريا چيو اي منهنجا رب! منهنجا هڏا ڪمزور ٿي ويا آهن ۽ مٿي ۾ وارن جي اڇاڻ ڦهلجي وئي آهي ۽ اي منهنجا رب! تو ڪان گهري آئون ڪڏهن بہ محروم نہ رهيو آهيان ۽ آئون پاڻ ڪان پوءِ مٽن مائٽن طرفان انديشو رکان ٿو ۽ منهنجي زال سنڍ آهي، تنهن ڪري مون کي پاڻ وٽان هڪ وارث ڏي. جيڪو منهنجي جاءِ وٺي ۽ آل يعقوب جي بہ ۽ اي منهنجا رب! ان کي پنهنجو پسنديده بڻاءِ. ٤-٦

---

هي ان ٻانهي جي زبان ما نڪتل دعا آهي، جيڪو دين جو مشن هلائيندي هلائيندي بلڪل پوڙهو ٿي ويو هو ۽ خاندان ۾ ڪو ماڻهو ان کي نظر نہ پئي آيو جو ان ڪان پوءِ ان جي مشن کي جاري رکي. هڪ پاسي پنهنجو عجز ۽ ٻئي پاسي مشن جي اهميت، اهي ٻئي احساس ان جي زبان تي ان دعا جي صورت اختيار ڪري ويا. جيڪا مٿي ذڪر ڪيل آيتن ۾ نظر اچي ٿي، جڻ تہ اها عام معنيٰ ۾ رڳو هڪ پٽ لاءِ دعا نہ هئي، بلڪ ان ڳالھ جي دعا هئي تہ مون کي هڪ اهڙو لائق ماڻهو حاصل ٿي وڃي، جيڪو مون ڪان پوءِ منهنجي پيغمبرانہ مشن کي جاري رکي.

يٰزَكَرِيَّآ اِنَّا نُبَشِّرُكَ بِغُلٰمِ ِۨ اسْمُهٗ يَحْيٰى ۙ لَمْ نَجْعَلْ لَّهٗ مِنْ قَبْلُ سَمِيًّا۝٧ قَالَ رَبِّ اَنّٰى
يَكُوْنُ لِيْ غُلٰمٌ وَّ كَانَتِ امْرَاَتِيْ عَاقِرًا وَّ قَدْ بَلَغْتُ مِنَ الْكِبَرِ عِتِيًّا۝٨

اي زڪريا! اسان توکي هڪ نينگر جي بشارت ڏيون ٿا. جنهن جو نالو يحيٰ هوندو. اسان هن ڪان اڳ ۾ ان نالي جو ڪو ماڻهو نہ خلقيو. ان چيو اي منهنجا رب! مون کي پٽ ڪيئن ٿيندو، جڏهن تہ منهنجي زال سنڍ آهي ۽ آئون جهور پيريءَ جي انتهائي درجي کي پهچي چڪو آهيان. ٧-٨

---

هي دعا پٽ جي صورت ۾ قبول ٿي، هڪ اهڙو پٽ، جيڪو عام طور تي ماڻهن وٽ پيدا نہ ٿو ٿئي، هڪ ماڻهو جيڪو آخري حد تائين پوڙهو ٿي چڪو هجي ۽ جنهن جي زال سڄي عمر سنڍ رهي هجي، انهن وٽ ٻار پيدا ٿيڻ بيشڪ هڪ انتهائي غيرمعمولي ڳالھ آهي. ان ڪري حضرت زڪرياعليہ السلام کي ان خبر تي خوشي سان گڏ تعجب بہ ٿيو. ملڻ واري نعمت جي توقع نہ هئڻ واري احساس جي ڪري سندس زبان مان اهي لفظ نڪري ويا تہ مون کي پٽ ڪيئن پيدا ٿيندو، جڏهن تہ آئون ۽ منهنجي زال ٻئي ان لحاظ کان اُن ڪم جي قابل نہ رهيا آهيون.

قَالَ كَذٰلِكَ ۚ قَالَ رَبُّكَ هُوَ عَلَيَّ هَيِّنٌ وَّ قَدْ خَلَقْتُكَ مِنْ قَبْلُ وَ لَمْ تَكُ شَيْـًٔا۝٩ قَالَ رَبِّ
اجْعَلْ لِّيْۤ اٰيَةً ؕ قَالَ اٰيَتُكَ اَلَّا تُكَلِّمَ النَّاسَ ثَلٰثَ لَيَالٍ سَوِيًّا۝١٠ فَخَرَجَ عَلٰى قَوْمِهٖ مِنَ
الْمِحْرَابِ فَاَوْحٰۤى اِلَيْهِمْ اَنْ سَبِّحُوْا بُكْرَةً وَّ عَشِيًّا۝١١

جواب مليو تہ ايئن ئي ٿيندو. تنهنجو رب فرمائي ٿو تہ اِهو منهنجي لاءِ آسان آهي. مون ان کان اڳ ۾ توکي پيدا ڪيو، حالانڪ تون ڪجھ بہ نہ هئين. زڪريا چيو تہ اي منهنجا رب! منهنجي لاءِ ڪا نشاني مقرر فرما. فرمايو ويو تہ تنهنجي نشاني اها آهي تہ تون ٽي ڏينهن ۽ راتيون ڳالهائي نہ سگھندين. حالانڪ تون تندرست هوندين. پوءِ زڪريا محراب مان نڪري ماڻهن وٽ آيو ۽ ڪين اشاري سان چيو تہ توهان صبح ۽ شام (اللہ جي) پاڪائي بيان ڪريو. ٩-١١

---

پهرين انسان جو پيءُ ماءُ کان سواءِ پيدا ٿيڻ جهڙي طرح هڪ خدائي معجزو آهي، اهڙي طرح پيءُ ماءُ جي ذريعي ٻار جو پيدا ٿيڻ بہ هڪ خدائي معجزو آهي، چاهي اِهي ماءُ پيءُ پوڙها هجن يا جوان. حقيقت اها آهي تہ اهو اللہ تعاليٰ آهي جيڪو انسان کي پيدا ڪري ٿو. ان ئي پهرين پيدا ڪيو ۽ اهوئي اڄ بہ پيدا ڪرڻ وارو آهي . هر ٻي شيءِ محض هڪ ظاهري بهانو آهي نہ وري حقيقي سبب.

حضرت زڪرياؑ اللہ جي رحمت ملڻ جي نشاني پڇا ڪئي تہ ٻڌايو ويو جو تندرست هجڻ جي باوجود جڏهن پورين ٽن راتين ۽ ڏينهن تائين ماڻهن سان زبان جي ذريعي ڳالهائي نہ سگھين، ان وقت سمجھي ونجانءِ تہ حمل ٿي چڪو آهي. پوءِ جڏهن اهو وقت آيو تہ زبان ڳالهائڻ کان رڪجي وئي، حضرت زڪرياؑ پنهنجي عبادت جي حُجري مان ٻاهر نڪتا ۽ ماڻهن کي اشاري سان چيو تہ صبح ۽ شام اللہ کي ياد ڪريو ۽ ان جي عبادت ۽ اطاعت ۾ مشغول رهو.

حضرت زڪرياؑ جي گهڻو ڪري اها عادت هئي جو هو روزانو ماڻهن کي واعظ ۽ نصيحت ڪندا هئا. جڏهن زبان ڳالهائڻ کان رڪجي وئي تڏهن بہ پاڻ اجتماع جي مقام تي آيا ۽ ماڻهن کي نصيحت ڪئي، ڇاڪاڻ تہ زبان نہ پئي هلي، پاڻؑ اشاري جي ذريعي ماڻهن کي تلقين ڪئي.

يٰيَحْيٰى خُذِ الْكِتٰبَ بِقُوَّةٍ ۭ وَاٰتَيْنٰهُ الْحُكْمَ صَبِيًّا ۝ۙ١٢ وَّحَنَانًا مِّنْ لَّدُنَّا وَزَكٰوةً ۭ وَكَانَ تَقِيًّا ۝ۙ١٣ وَّبَرًّۢا بِوَالِدَيْهِ وَلَمْ يَكُنْ جَبَّارًا عَصِيًّا ۝١٤ وَسَلٰمٌ عَلَيْهِ يَوْمَ وُلِدَ وَيَوْمَ يَمُوْتُ وَيَوْمَ يُبْعَثُ حَيًّا ۝ۧ١٥

اي يحيٰ! ڪتاب کي مضبوطي سان جهل ۽ اسان ان کي ننڍپڻ ۾ ئي دين جي سمجھ عطا ڪئي ۽ پنهنجي طرفان ان کي نرم دلي ۽ پاڪائي عطا ڪئي ۽ هو پرهيزگار ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ جو خدمت گذار هو ۽ هو سرڪش ۽ نافرمان نہ هو ۽ ان تي سلامتي آهي، جنهن ڏينهن هو پيدا ٿيو ۽ جنهن ڏينهن هو وفات ڪندو ۽ جنهن ڏينهن هو وري زنده ڪري اٿاريو ويندو. ١٢-١٥

---

چيو وڃي ٿو تہ حضرت يحيٰؑ جڏهن ننڍا هئا تہ ڇوڪرن هڪ دفعو انهن کي کيڏڻ لاءِ سڏيو. انهن انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چيو تہ ”اسان ان لاءِ نہ خلقيا ويا آهيون.“ ان مان اندازو ٿيندو آهي تہ انهن کي ننڍپڻ کان ئي اهو شعور حاصل هو تہ زندگي کي بامقصد ٿيڻ کپي، اهڙي طرح انهيءَ جي اندر پيدائشي طور تي درد ۽ غم موجود هو، هو نفسياتي مونجهارن کان آزاد هئا. هو پنهنجي ماءُ پيءُ جا حق ادا ڪرڻ وارو هو، هو سرڪشي ۽ نافرماني کان بلڪل خالي هو.

اهي ئي اُهي صفتون آهن، جيڪي ماڻهو کي ان قابل بڻائين ٿيون تہ هو ڪنهن بہ حال ۾ اللہ جي

ڪتاب ڪان نہ هئي، انهن صفتن وارو ماڻهو اهو آهي جنهن تي دنيا ۾ بہ الله تعاليٰ جي رحمت نازل ٿيندي آهي ۽ آخرت ۾ بہ خدا جي رحمت.

وَ اذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ مَرْيَمَ ۘ اِذِ انْتَبَذَتْ مِنْ اَهْلِهَا مَكَانًا شَرْقِيًّا ﴿١٦﴾ فَاتَّخَذَتْ مِنْ
دُوْنِهِمْ حِجَابًا ۫ فَاَرْسَلْنَآ اِلَيْهَا رُوْحَنَا فَتَمَثَّلَ لَهَا بَشَرًا سَوِيًّا ﴿١٧﴾ قَالَتْ اِنِّيْٓ اَعُوْذُ
بِالرَّحْمٰنِ مِنْكَ اِنْ كُنْتَ تَقِيًّا ﴿١٨﴾ قَالَ اِنَّمَآ اَنَا رَسُوْلُ رَبِّكِ ۖ لِاَهَبَ لَكِ غُلٰمًا زَكِيًّا ﴿١٩﴾
قَالَتْ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ غُلٰمٌ وَّ لَمْ يَمْسَسْنِيْ بَشَرٌ وَّ لَمْ اَكُ بَغِيًّا ﴿٢٠﴾ قَالَ كَذٰلِكِ ۚ قَالَ رَبُّكِ
هُوَ عَلَيَّ هَيِّنٌ ۚ وَلِنَجْعَلَهٗٓ اٰيَةً لِّلنَّاسِ وَ رَحْمَةً مِّنَّا ۚ وَكَانَ اَمْرًا مَّقْضِيًّا ﴿٢١﴾

۽ ڪتاب ۾ مريم جو ذڪر ڪر، جڏهن هو پنهنجي ماڻهن کان الڳ ٿي ڪري اڀرندي جاءِ ڏانهن هلي ويئي. پوءِ ان پنهنجي پاڻ کي انهن کان پردي ۾ ڪري ورتو، پوءِ اسان ان وٽ پنهنجو فرشتو موڪليو، جيڪو ان جي سامهون هڪ پورو ماڻهو بڻجي ظاهر ٿيو. مريم چيو آئون توکان (الله) رحمان جي پناه گهران ٿي، جيڪڏهن تون الله کان ڊڄڻ وارو آهين. ان چيو آئون تنهنجي رب جو موڪليل آهيان، تہ جيئن توکي هڪ پاڪ نينگر ڏيان، مريم چيو مون کي نينگر ڪيئن ٿيندو، جڏهن تہ مون کي ڪنهن ماڻهو هٿ نہ لاتو آهي ۽ نہ ئي آئون بدڪار آهيان. فرشتي چيو تہ ايئن ئي ٿيندو. تنهنجو رب فرمائي ٿو تہ اهو منهنجي لاءِ آسان آهي ۽ تہ جيئن اسان ان کي ماڻهن لاءِ نشاني بڻايون ۽ پنهنجي طرفان هڪ رحمت ۽ اهو هڪ طي شده امر آهي. ١٦-٢١

---

حضرت مريم پنهنجي ماءُ جي نذر مطابق گرجا (بيت المقدس) جي خدمت لاءِ ڏني وئي هئي، قديم گرجا جو اڀرندو حصو عورتن لاءِ خاص هو. ان حصي ۾ هڪ پاسي پردو وجهي اعتڪاف ۾ ويهي رهي، ان کان پوءِ اچانڪ هڪ ڏينهن ايئن ٿيو جو ان ڏٺو تہ هڪ جوان ماڻهو ان جي سامهون بيٺو آهي، ان منظر کان گهٻرائجي وڃڻ بلڪل فطري هو، پر ماڻهو ٻڌايو تہ هو فرشتو آهي ۽ الله تعاليٰ طرفان ان ڪري آيو آهي جو حضرت مريم کي معجزي طور هڪ ٻار عطا ڪري.

حضرت مسيح جو اهڙي طرح معجزي طور پيدا ٿيڻ الله تعاليٰ جي هڪ عظيم نشاني هئي، ان جو مقصد اهو هو تہ يهودي پاڻ عليه السلام کي الله تعاليٰ جو موڪليل هئڻ ۾ شڪ نہ ڪن ۽ پاڻ عليه السلام الله تعاليٰ طرفان جيڪي ڳالهيون ٻڌائين ان کي مڃي وٺن، پر ايڏي پڌري نشاني جي باوجود انهن حضرت مسيح عليه السلام جو انڪار ڪري ڇڏيو.

فَحَمَلَتْهُ فَانْتَبَذَتْ بِهٖ مَكَانًا قَصِيًّا ﴿٢٢﴾ فَاَجَآءَهَا الْمَخَاضُ اِلٰى جِذْعِ النَّخْلَةِ ۚ قَالَتْ
يٰلَيْتَنِيْ مِتُّ قَبْلَ هٰذَا وَ كُنْتُ نَسْيًا مَّنْسِيًّا ﴿٢٣﴾

پوءِ ان سان حمل ٿيس ۽ هو ان سان هڪ پرڀري جاءِ ڏانهن هلي وئي. پوءِ ويم جو سور ان کي کجي جي وڻ ڏانهن وٺي ويو. ان چيو ڪاش آئون ان کان اڳ مري وڃان ها ۽ وسري ويل شيءِ هجان ها. ٢٢-٢٣

---

حضرت مريم هڪ عزت دار دينڊار گهراڻي جي غير شادي شده نياڻي هئي، اهڙي هڪ نياڻي

جو پيٽ سان ٿيڻ ان جي لاءِ هڪ اهڙي آزمائش آهي، جنهن کان وڏي ڪا آزمائش نہ آهي، ان پريشاني ۾ مبتلا ٿيڻ کان پوءِ هو خاموشي سان گرجا مان نڪتي ۽ پري هڪ جاءِ (بيت لحم) ڏانهن هلي ويئي، جڏهن وقت پورو ٿيو ۽ ويم جي سور واري ڪيفيت پيدا ٿي تہ هو وسندي کان ٻاهر هڪ کجي جي وڻ هيٺ ويهي رهي. هڪ پاڪباز غيرشادي شده نياڻي تي اهڙي وقت ۾ جيڪا ڪيفيت گذري ٿي، ان جي جهلڪ هنن لفظن ۾ ملي ٿي ڪاش! آئون ان کان پهرين ختم ٿي وڃان ها ۽ ماڻهن جي حافظي ۾ منهنجو ڪو وجود نہ هجي ها.

فَنَادٰىهَا مِنۡ تَحۡتِهَاۤ اَلَّا تَحۡزَنِیۡ قَدۡ جَعَلَ رَبُّكِ تَحۡتَكِ سَرِیًّا۝۲۴ وَ هُزِّیۡۤ اِلَیۡكِ بِجِذۡعِ النَّخۡلَةِ تُسٰقِطۡ عَلَیۡكِ رُطَبًا جَنِیًّا۝۲۵ فَكُلِیۡ وَ اشۡرَبِیۡ وَ قَرِّیۡ عَیۡنًا ۚ فَاِمَّا تَرَیِنَّ مِنَ الۡبَشَرِ اَحَدًا ۙ فَقُوۡلِیۡۤ اِنِّیۡ نَذَرۡتُ لِلرَّحۡمٰنِ صَوۡمًا فَلَنۡ اُكَلِّمَ الۡیَوۡمَ اِنۡسِیًّا۝۲۶

پوءِ کيس (ملائڪ) هيٺين طرفان کان سڏيو تہ غم نہ ڪر. تنهنجي رب تنهنجي هيٺان هڪ چشمو جاري ڪري ڇڏيو آهي ۽ تون کجي جي ٿڙ کي پاڻ ڏانهن لوڏ. ان مان توتي پڪل کجيون ڪرنديون. پوءِ کاءُ ۽ پيءُ ۽ اکيون ٺڏيون ڪر. پوءِ جيڪڏهن تون ڪنهن ماڻهو کي ڏسين تہ ان کي چؤ تہ مون رحمان لاءِ روزو رکيو آهي تہ اڄ آئون ڪنهن انسان سان نہ ڳالهائيندس. ٢٤-٢٦

---

ايتري نازڪ آزمائش ۾ مبتلا ٿيڻ کان پوءِ حضرت مريمؑ لاءِ تسڪين جو رڳو هڪ ئي ذريعو ٿي پئي سگهيو. اهو هي تہ الله تعاليٰ جو فرشتو ظاهر ٿي ان کي يقين ڏياري، تنهن ڪري ايئن ئي ٿيو. ان وقت فرشتي اچي آواز ڏنو تہ نہ گهبراءِ اهو سڀ ڪجهہ جيڪو ٿي رهيو آهي اهو الله تعاليٰ جي منصوبي تحت ٿي رهيو آهي. تو وٽ صاف پاڻي جو چشمو جاري ڪيو ويو آهي ۽ کجي جو اهو وڻ توکي هر وقت تازيون کجيون ڏيندو ان مان کاءُ ۽ پيءُ.

ٻار جي متعلق فرشتي اهو چئي مطمئن ڪري ڇڏيو تہ الله تعاليٰ جي معجزي سان پيدا ٿيڻ وارو اهو ٻار خود تنهنجي دفاع لاءِ ڪافي آهي، تون بني اسرائيل جي رواج مطابق چپ جو روزو رکي وٺ ۽ جڏهن ڪنهن ماڻهو سان تنهنجي ملاقات ٿئي ۽ هو توکان پڇي تہ تون ٻار ڏانهن اشارو ڪري ڇڏجانءِ. هو پاڻ جواب ڏئي توکي جوابداري کان آجو ڪري ڇڏيندو.

فَاَتَتۡ بِهٖ قَوۡمَهَا تَحۡمِلُهٗ ؕ قَالُوۡا یٰمَرۡیَمُ لَقَدۡ جِئۡتِ شَیۡـًٔا فَرِیًّا۝۲۷ یٰۤاُخۡتَ هٰرُوۡنَ مَا كَانَ اَبُوۡكِ امۡرَاَ سَوۡءٍ وَّ مَا كَانَتۡ اُمُّكِ بَغِیًّا۝۲۸

پوءِ هو ان کي ڪڇ ۾ کڻي پنهنجي قوم وٽ آئي. ماڻهن چيو اي مريم! تو بري شيءِ آندي آهي. اي هارون جي ڀيڻ نہ تنهنجو پيءُ برو ماڻهو هو ۽ نہ تنهنجي ماءُ بدڪار هئي. ٢٧-٢٨

---

فرشتي جي ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ حضرت مريمؑ جي اندر اعتماد پيدا ٿيو هو ۽ ٻار کي کڻي پنهنجي خاندان وارن ۾ واپس آئي. ان کي اهڙي حال ۾ ڏسي يهودين جا سيئي ماڻهو ان کي ملامت ڪرڻ

لڳا. حضرت مريمؑ اهوئي ڪيو جيڪو فرشتي ان کي ٻڌايو هو. هُن پاڻ خاموش رهندي ٻار ڏانهن اشارو ڪري ڇڏيو. مطلب اِهو هو ته اِهو ٻار ڪو عام قسم جو ٻار نه آهي ۽ ان جو ثبوت اهو آهي ته توهان ان سان ڳالهايو. اِهو جهولي جو ٻار هئڻ جي باوجود توهان جي ڳالهه کي سمجهندو ۽ صاف زبان ۾ توهان کي جواب ڏيندو.

فَاَشَارَتْ اِلَيْهِ ؕ قَالُوْا كَيْفَ نُكَلِّمُ مَنْ كَانَ فِي الْمَهْدِ صَبِيًّا ﴿۲۹﴾ قَالَ اِنِّيْ عَبْدُ اللّٰهِ ۟ؕ اٰتٰنِيَ الْكِتٰبَ وَ جَعَلَنِيْ نَبِيًّا ﴿ۙ۳۰﴾ وَّ جَعَلَنِيْ مُبٰرَكًا اَيْنَ مَا كُنْتُ ۪ وَ اَوْصٰنِيْ بِالصَّلٰوةِ وَ الزَّكٰوةِ مَا دُمْتُ حَيًّا ﴿۪ۖ۳۱﴾ وَّ بَرًّۢا بِوَالِدَتِيْ ۫ وَ لَمْ يَجْعَلْنِيْ جَبَّارًا شَقِيًّا ﴿۳۲﴾ وَ السَّلٰمُ عَلَيَّ يَوْمَ وُلِدْتُّ وَ يَوْمَ اَمُوْتُ وَ يَوْمَ اُبْعَثُ حَيًّا ﴿۳۳﴾

پوءِ مريم ان ڏانهن اشارو ڪيو ماڻهن چيو اسان ان سان ڪيئن ڳالهايون جيڪو اڃا هنج جو ٻار آهي ٻار ڳالهايو آئون الله جو ٻانهو آهيان ان مون کي ڪتاب ڏنو آهي ۽ مون کي نبي بڻايو ۽ آئون جتي به هجان ان مون کي برڪت وارو بڻايو آهي ۽ ان مون کي نماز ۽ زڪوات جي تاڪيد ڪئي آهي جيستائين آئون زنده هجان ۽ مون کي منهنجي ماءُ جو خدمتگذار بڻايو آهي ۽ مون کي سرڪش بدبخت نه بڻايو آهي ۽ مون تي سلامتي آهي جنهن ڏينهن آئون پيدا ٿيس ۽ جنهن ڏينهن آئون مرندس ۽ جنهن ڏينهن آئون زنده ڪري اٿاريو ويندس. ٢٩-٣٣

---

حضرت مريمؑ جي اشاري باوجود يهودين کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هو هڪ ننڍي ٻار سان ڪهڙي طرح ڳالهائين، ان وقت حضرت مسيحؑ پاڻ ڳالهائڻ لڳا. سندس معجزاتي گفتگو ۾ هڪ پاسي حضرت مريمؑ جي مڪمل پاڪائي جو اعلان هو ۽ ٻي پاسي اها هڪڙي شاهدي هئي ته اهو ٻار جڏهن وڏو ٿي نبوت جو اعلان ڪري ته ماڻهن لاءِ پاڻؑ جي نبوت تي شڪ ڪرڻ جي ڪا گنجائش باقي نه رهي.

ذٰلِكَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ ۚ قَوْلَ الْحَقِّ الَّذِيْ فِيْهِ يَمْتَرُوْنَ ﴿۳۴﴾ مَا كَانَ لِلّٰهِ اَنْ يَّتَّخِذَ مِنْ وَّلَدٍ ۙ سُبْحٰنَهٗ ؕ اِذَا قَضٰۤى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿ؕ۳۵﴾

اهو آهي عيسيٰ پٽ مريم. سچي ڳالهه جنهن ۾ ماڻهو جهيڙو ڪري رهيا آهن. الله اهڙو نه آهي جو هو (پاڻ لاءِ) ڪو اولاد بڻائي. هو پاڪ آهي. جڏهن هو ڪنهن ڪم جو فيصلو ڪندو آهي ته چوندو آهي ته ٿي پؤ ته هو ٿي پوندو آهي. ٣٤-٣٥

---

حضرت مسيحؑ جي غيرمعمولي پيدائش هڪ انوکو واقعو هو. ان حيرت انگيز واقعي جي سمجهاڻي جو سبب بيان ڪرڻ لاءِ مسيحي عالمن عجيب عجيب عقيدا گهڙي ورتا، پر هميشه سبب جاڻائڻ جي هڪ حد هوندي آهي ۽ ان حد جي اندر رهي ڪري ئي ڪنهن شيءِ جي وجهه بيان ڪري سگهجي ٿي، حضرت مسيحؑ جي غيرمعمولي پيدائش جي وجهه بيان ڪرڻ ۾ ان کي الله تعاليٰ جو

پٽ ٻڌائي ڇڏڻ حد کان لنگهي وڃڻ آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو الله تعاليٰ جي هيڪڙائي جي ابتڙ آهي تہ ان جو ڪو اولاد هجي.

جيئن تہ ڪائنات ۾ بيشمار حيرت انگيز واقعا آهن، جن کي اسان روزانو ڏسون ٿا. هن دنيا جي هر شيءِ هڪ انوکو واقعو آهي، پوءِ جيڪڏهن هڪ وڏيڪ انوکي شيءِ سامهون اچي تہ انسان کي اهو چوڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ جهڙي طرح ٻيون بيشمار انوکيون شيون پيدا ڪيون آهن، اهڙي طرح هو ان انوکي شيءِ جو بہ خالق آهي، جيڪا اڄ اسان جي سامهون ظاهر ٿي آهي.

وَ اِنَّ اللّٰهَ رَبِّيْ وَ رَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿٣٦﴾ فَاخْتَلَفَ الْاَحْزَابُ مِنْۢ بَيْنِهِمْ ۚ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ مَّشْهَدِ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿٣٧﴾ اَسْمِعْ بِهِمْ وَ اَبْصِرْ ۙ يَوْمَ يَاْتُوْنَنَا لٰكِنِ الظّٰلِمُوْنَ الْيَوْمَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٨﴾

۽ بيشڪ الله منهنجو رب آهي ۽ توهان جو رب بہ، تنهن ڪري توهان ان جي ئي عبادت ڪريو. اهوئي سڌو رستو آهي، پوءِ انهن جي فرقن پاڻ ۾ اختلاف ڪيو، پوءِ انڪار ڪرڻ وارن لاءِ هڪ وڏي ڏينهن جي اچڻ سبب خرابي آهي، جنهن ڏينهن اُهي ماڻهو اسان وٽ ايندا. اهي خوب ٻڌندڙ ۽ خوب ڏسندڙ هوندا. پر اڄ اُهي ظالم پڌري گمراهي ۾ آهن. ٣٦-٣٨

---

حضرت مسيح عليہ السلام ۽ ٻين سيني پيغمبرن هڪ ئي صراط المستقيم ڏانهن ماڻهن کي سڏيو، اها هي تہ ماڻهو الله تعاليٰ کي پنهنجو رب ٻڌائي ۽ ان ئي جي عبادت ڪري، پر هميشہ ايئن ٿيو جو هٽ توڪيل تعويلن ۽ تشريحن جي ذريعي ان صراط المستقيم جو انڪار ڪيو ويو، ڪنهن هڪڙي ڳالهہ ڪئي ۽ ڪنهن ٻي ڳالهہ، اهڙي طرح اختلاف پيدا ٿيا ۽ هڪ دين ڪيترن ئي دينن ۾ تقسيم ٿي ويو.

دنيا ۾ بہ حق ڳالهہ پوري طرح واضح آهي، پر هتي انسان کي امتحان جي ڪري آزادي حاصل آهي، هو چاهي تہ مڃي ۽ چاهي تہ نہ مڃي. ان وقتي آزادي جي ڪري انسان غلط فهمي ۾ پئجي ويندو آهي ۽ سرڪشي ڪرڻ لڳندو آهي. ان کي دليلن ذريعي ٻڌايو ويندو آهي تہ الله تعاليٰ جي صراط المستقيم ڇا آهي. پر هو ان کي نہ ٿو مڃي، پر آخرت ۾ جڏهن آزادي کسجي ويندي انسان جون ساڳيون اکيون ۽ ساڳيا ڪن ڏاڍو ڏسندڙ ۽ ڏاڍا ٻڌندڙ بڻجي ويندا، جيڪي اڄ ايئن نظر ايندا آهن ڄڻ تہ اهي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ چاهيندا ئي نہ هجن.

وَ اَنْذِرْهُمْ يَوْمَ الْحَسْرَةِ اِذْ قُضِيَ الْاَمْرُ ۘ وَ هُمْ فِيْ غَفْلَةٍ وَّ هُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٣٩﴾ اِنَّا نَحْنُ نَرِثُ الْاَرْضَ وَ مَنْ عَلَيْهَا وَ اِلَيْنَا يُرْجَعُوْنَ ﴿٤٠﴾

۽ انهن ماڻهن کي ان حسرت واري ڏينهن کان ديڄار جڏهن معاملي جو فيصلو ڪيو ويندو ۽ اهي غفلت ۾ آهن ۽ اهي ايمان نہ ٿا آڻين. بيشڪ اسان ئي زمين ۽ زمين تي رهڻ وارن جا وارث هونداسون ۽ ماڻهو اسان ڏانهن ئي موٽايا ويندا. ٣٩-٤٠

---

ماڻهو کي دنيا ۾ ناڪامي ٿيندي آهي ته ان وٽ موقعو هوندو آهي ته هو ٻيهر نئين زندگي شروع ڪري سگهي. ان وٽ ساٿي ۽ مددگار هوندا آهن، جيڪي ان کي سنڀالڻ لاءِ اچي ويندا آهن. پر آخرت جي ناڪامي اهڙي ناڪامي آهي جنهن کان پوءِ ٻيهر سنڀلجڻ جو ڪو امڪان نه آهي. ڪهڙو نه عجيب حسرت جو وقت هوندو جڏهن ماڻهو هي چاهيندو ته هو سڀ ڪجهه ڪري پئي سگهيو پر ان نه ڪيو، ايستائين جو ڪرڻ جو وقت ئي ختم ٿي ويو.

سڀني خرابين جي جڙ اها آهي ته ماڻهو هي سمجهي ويٺي ٿو ته هو پنهنجو مالڪ پاڻ آهي، پر حقيقت اها آهي ته هي رڳو هڪ وچٿرو وقفو آهي. اڳ ۾ به صرف الله تعاليٰ سڀني شين جو مالڪ هو ۽ آخرت ۾ به اهو صرف الله تعاليٰ آهي، جيڪو سڀني شين جو مالڪ هوندو. الله تعاليٰ کان سواءِ ڪير نه آهي جنهن کي هتي حقيقي معنيٰ ۾ ڪا مالڪاڻي حيثيت حاصل هجي.

وَ اذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ اِبْرٰهِيْمَ ۬ اِنَّهٗ كَانَ صِدِّيْقًا نَّبِيًّا ﴿٤١﴾ اِذْ قَالَ لِاَبِيْهِ يٰۤاَبَتِ لِمَ تَعْبُدُ مَا لَا يَسْمَعُ وَ لَا يُبْصِرُ وَ لَا يُغْنِيْ عَنْكَ شَيْـًٔا ﴿٤٢﴾ يٰۤاَبَتِ اِنِّيْ قَدْ جَآءَنِيْ مِنَ الْعِلْمِ مَا لَمْ يَاْتِكَ فَاتَّبِعْنِيْۤ اَهْدِكَ صِرَاطًا سَوِيًّا ﴿٤٣﴾ يٰۤاَبَتِ لَا تَعْبُدِ الشَّيْطٰنَ ؕ اِنَّ الشَّيْطٰنَ كَانَ لِلرَّحْمٰنِ عَصِيًّا ﴿٤٤﴾ يٰۤاَبَتِ اِنِّيْۤ اَخَافُ اَنْ يَّمَسَّكَ عَذَابٌ مِّنَ الرَّحْمٰنِ فَتَكُوْنَ لِلشَّيْطٰنِ وَلِيًّا ﴿٤٥﴾

۽ ڪتاب ۾ ابراهيم جو ذڪر ڪر، بيشڪ هو سچو هو ۽ نبي هو. جڏهن ان پنهنجي پيءُ کي چيو ته اي منهنجا ابا اهڙي شيءِ جي عبادت ڇو ٿو ڪرين جيڪا نه ٻڌي ۽ نه ڏسي ۽ نه تنهنجي ڪم اچي سگهي. اي منهنجا بابا مون وٽ اهڙو علم آيو آهي جيڪو تو وٽ نه آهي تنهن ڪري تون منهنجي چوڻ تي هل. آئون توکي سڌو رستو ڏيکاريندس. اي منهنجا بابا شيطان جي عبادت نه ڪر. بيشڪ شيطان (الله تعاليٰ) رحمان جي نافرماني ڪرڻ وارو آهي. اي منهنجا بابا مون کي ڊپ آهي ته توکي رحمٰن جو ڪو عذاب اچي رسي ۽ تون شيطان جو ساٿي ٿي رهجي وڃين. ٤١-٤٥

---

حضرت ابراهيم عليه السلام عراق ۾ پيدا ٿيا. ان جو والد آزر بت پرست هو. پاڻ عليه السلام کي نبوت ملي ته پاڻ عليه السلام پنهنجي والد کي نصيحت ڪئي ته بتن جي عبادت ڇڏي ڏي ۽ الله تعاليٰ جي عبادت ڪر نه ته تون الله جي پڪڙ ۾ اچي ويندين.

شيطان جي عبادت جو مطلب خود شيطان جي عبادت نه آهي، بلڪ شيطان جي ٻڌايل شيءِ جي عبادت آهي. انسان جي اندر فطري طور تي هي جذبو رکيو ويو آهي ته هو ڪنهن کي مٿانهون درجو ڏئي ان جي اڳيان پنهنجي عقيدت وارن جذبن کي نثار ڪري، ان جذبي جو حقيقي مرڪز الله تعاليٰ آهي، پر شيطان مختلف طريقن سان ماڻهو جي ذهن کي ڦيريندو آهي، ته جيئن هو انسان کي مشرڪ بڻائي ڇڏي، ته جيئن انسان غيرالله کي اها شيءِ ڏئي ڇڏي جيڪا ان کي صرف الله تعاليٰ کي ڏيڻ گهرجي.

قَالَ اَرَاغِبٌ اَنْتَ عَنْ اٰلِهَتِيْ يٰۤاِبْرٰهِيْمُ ۚ لَئِنْ لَّمْ تَنْتَهِ لَاَرْجُمَنَّكَ وَ اهْجُرْنِيْ مَلِيًّا ﴿٤٦﴾ قَالَ سَلٰمٌ عَلَيْكَ ۚ سَاَسْتَغْفِرُ لَكَ رَبِّيْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِيْ حَفِيًّا ﴿٤٧﴾ وَ اَعْتَزِلُكُمْ وَ مَا تَدْعُوْنَ

مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ وَ اَدۡعُوۡا رَبِّیۡ ۖ عَسٰۤی اَلَّاۤ اَکُوۡنَ بِدُعَآءِ رَبِّیۡ شَقِیًّا ﴿۴۸﴾

پيءُ چيو تہ اي ابراهيم چا تون منهنجي معبودن کان ڦري ويو آهين، جيڪڏهن تون باز نہ آئين تہ آئون توکي سنگسار ڪري ڇڏيندس ۽ تون مون کان هميشہ لاءِ پري ٿي وڃ. ابراهيم چيو توتي سلامتي هجي آئون پنهنجي رب کان تو لاءِ بخشش جي دعا ڪندس. بيشڪ هو مون تي مهربان آهي ۽ آئون توهان ماڻهن کي ڇڏيان ٿو ۽ انهن کي بہ جن کي توهان الله کان سواءِ پڪاريندا آهيو ۽ آئون پنهنجي رب کي ئي پڪاريندس، اميد آهي تہ آئون پنهنجي رب کي پڪاري محروم نہ رهندس. ٤٦-٤٨

---

حضرت ابراهيم ؑ جن بتن تي تنقيد ڪئي سي سادي معنيٰ ۾ رڳو پٿر جا ٽڪرا نہ هئا. بلڪ اهي انهن هستين جا نمائنده هئا جن جي طلسماتي عظمت ماضي جي روايتن جي نتيجي ۾ ماڻهن جي ذهنن ۾ قائم ٿي چڪي هئي. انهن جي مقابلي ۾ نوجوان ”ابراهيم“ هڪ معمولي شخص نظر پئي آيو ۽ عراق جا بت عظمتن جا جبل ڏسڻ ۾ پيا آيا. اهوئي سبب آهي تہ حضرت ابراهيم ؑ جي والد حقارت سان سندس نصيحت کي نظرانداز ڪري ڇڏيو.

حق جي دعوت هڪ مقام کان شروع ڪئي وڃي ۽ پوءِ اُها ان مرحلي ۾ پهچي وڃي تہ ماڻهو ان کي چڱي طرح سمجهي چڪا هجن، پر اُهي مڃڻ جي بجاءِ اگرائي تي لهي اچن تہ ان وقت داعي پنهنجي عمل جي مقام کي تبديل ڪري ڇڏيندو آهي. ان جو ٻيو نالو هجرت آهي. جاءِ جي اها تبديلي ڪڏهن قريب جي دائري ۾ ٿيندي آهي ۽ ڪڏهن پري جي دائري ۾.

دعوت جو عمل هڪ خدائي عمل آهي. اهوئي سبب آهي تہ اهو جڏهن بہ شروع ٿيندو آهي تہ رباني نفسيات سان گڏ شروع ٿيندو آهي، مدعو جيڪڏهن داعي سان ظلم ۽ حقارت جو معاملو ڪري تڏهن بہ داعي جي دل ۾ ان لاءِ نرم جاءِ موجود رهندي آهي. اهڙي طرح داعي جيڪڏهن پنهنجي ماحول ۾ بي يارو مددگار ٿي وڃي، تڏهن بہ هو مايوس نہ ٿو ٿئي، ڇاڪاڻ تہ ان جو اصل سهارو الله تعاليٰ هوندو آهي. هو يقين رکندو آهي تہ هو ان سان موجود آهي ۽ هميشہ موجود رهندو.

فَلَمَّا اعۡتَزَلَهُمۡ وَ مَا یَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ ۙ وَهَبۡنَا لَهٗۤ اِسۡحٰقَ وَ یَعۡقُوۡبَ ؕ وَ کُلًّا جَعَلۡنَا
نَبِیًّا ﴿۴۹﴾ وَ وَهَبۡنَا لَهُمۡ مِّنۡ رَّحۡمَتِنَا وَ جَعَلۡنَا لَهُمۡ لِسَانَ صِدۡقٍ عَلِیًّا ﴿۵۰﴾

پوءِ جڏهن هو ماڻهن کان جدا ٿي ويو ۽ انهن کان جن کي هو الله کان سواءِ پوڄيندا هئا تہ اسان ان کي اسحاق ۽ يعقوب عطا ڪيا ۽ اسان انهن مان هر هڪ کي نبي بڻايو ۽ انهن کي پنهنجي رحمت جو حصو ڏنو ۽ اسان انهن جو نالو نيڪ ۽ بلند ڪيو. ٤٩-٥٠

---

ماڻهو پنهنجي خاندان ۽ پنهنجي جماعت سان گڏ جيئندو آهي، اهڙي حالت ۾ ڪنهن شخص کي ان جي خاندان ۽ ان جي جماعت مان ڪڍي ڇڏڻ ڄڻ تہ ان کي بربادي جي رڻ ۾ ڌڪي ڇڏڻ آهي، پر حضرت ابراهيم ؑ جي واقعي جي صورت ۾ الله تعاليٰ هميشہ جي لاءِ ڏيکاري ڇڏيو تہ جيڪو ٻانهو خالص الله جي لاءِ بي گهر ڪيو وڃي، ان کي الله پنهنجي طرفان وڏيڪ سٺو گهر عطا ڪندو آهي، جيڪو ماڻهو خالص الله جي لاءِ گمنامي ۾ وڌو وڃي، ان جو نالو الله نيڪ نامي ۾ مٽائهون ڪري ڇڏيندو آهي.

وَ اذۡكُرۡ فِی الۡكِتٰبِ مُوۡسٰۤی ۫ اِنَّهٗ كَانَ مُخۡلَصًا وَّ كَانَ رَسُوۡلًا نَّبِيًّا ﴿۵۱﴾ وَ نَادَيۡنٰهُ مِنۡ جَانِبِ
الطُّوۡرِ الۡاَيۡمَنِ وَ قَرَّبۡنٰهُ نَجِيًّا ﴿۵۲﴾ وَ وَهَبۡنَا لَهٗ مِنۡ رَّحۡمَتِنَاۤ اَخَاهُ هٰرُوۡنَ نَبِيًّا ﴿۵۳﴾

۽ ڪتاب ۾ موسيٰ جو ذڪر. بيشڪ هو چونڊيل هو ۽ رسول (۽) نبي هو ۽ اسان ان کي طور جبل جي ساڄي پاسي کان سڏيو ۽ ان کي اسان راز جون ڳالهيون ڪرڻ لاءِ ويجهو ڪيو ۽ پنهنجي رحمت سان اسان ان جي ڀاءُ هارون کي به نبي بڻائي ڪيس ڏنوسون. ٥١-٥٣

---

حضرت موسيٰ مدين کان مصر وڃي رهيا هئا. ان سفر ۾ هو جبل طور جي پرسان گذريا. اتي الله تعاليٰ انهن کي پيغمبري عطا فرمائي. الله تعاليٰ پوئين هر دور ۾ پنهنجا پيغمبر چونڊيا ۽ انهن وٽ پنهنجو ڪلام موڪليو. اهو ڪلام هميشه جبرائيل فرشتي جي ذريعي موڪليو ويو. پر حضرت موسيٰ عليه السلام سان اهو خاص معاملو ٿيو جو الله ان سان براہ راست ڪلام ڪيو. جيئن ته هي به حضرت موسيٰ جي خاص ڳالهه آهي ته پاڻ عليه السلام جي لاءِ الله تعاليٰ هڪ ٻيو پيغمبر (حضرت هارون عليه السلام) مقرر فرمايو) جيڪو پاڻ عليه السلام جو مددگار ٿئي. ان جو سبب شايد اُهي خاص حالتون هيون جن ۾ پاڻ عليه السلام کي پنهنجو پيغمبراڻو فرض نڀائڻو هو. ڇاڪاڻ ته پاڻ عليه السلام جي سامهون هڪ پاسي فرعون جهڙو جابر بادشاهه هو ۽ ٻئي پاسي يهودين جهڙي قوم جيڪا پنهنجي زوال جي آخري حد کي پهچي چڪي هئي.

رحمت ۽ مدد جا اهي معاملا پنهنجي انتهائي صورت ۾ رڳو پيغمبرن جي لاءِ خاص آهن. پوءِ به الله پنهنجن مؤمن ٻانهن سان به ان ئي قسم جو معاملو فرمائيندو آهي. هو انهن جي قابليت مطابق انهن کي پنهنجي ڪنهن ڪم کي ڪرڻ جي توفيق ڏيندو آهي. هو انهن تي خاموشي سان پنهنجي ڳالهه سندن دلين ۾ وجهندو آهي. هو انهن لاءِ اهڙي خاص مدد جو انتظام ڪندو آهي، جيڪا عام حالتن ۾ ڪنهن کي نه ٿي ملي.

وَ اذۡكُرۡ فِی الۡكِتٰبِ اِسۡمٰعِيۡلَ ۫ اِنَّهٗ كَانَ صَادِقَ الۡوَعۡدِ وَ كَانَ رَسُوۡلًا نَّبِيًّا ﴿۵۴﴾ وَ كَانَ يَاۡمُرُ
اَهۡلَهٗ بِالصَّلٰوةِ وَ الزَّكٰوةِ ۪ وَ كَانَ عِنۡدَ رَبِّهٖ مَرۡضِيًّا ﴿۵۵﴾ وَ اذۡكُرۡ فِی الۡكِتٰبِ اِدۡرِيۡسَ ۫ اِنَّهٗ
كَانَ صِدِّيۡقًا نَّبِيًّا ﴿۵۶﴾ وَّ رَفَعۡنٰهُ مَكَانًا عَلِيًّا ﴿۵۷﴾

۽ ڪتاب ۾ اسماعيل جو ذڪر ڪر. هو وعدي جو سچو هو ۽ رسول (۽) نبي هو. هو پنهنجن ماڻهن کي نماز ۽ زڪوات جو حڪم ڏيندو هو ۽ پنهنجي رب وٽ پسنديده هو ۽ ڪتاب ۾ ادريس جو ذڪر ڪر. بيشڪ هو سچو هو ۽ نبي هو ۽ وڏي مرتبي جي ڪري سندس مان مٿاهون ڪيو سون. ٥٤-٥٧

---

حضرت اسماعيل عليه السلام حضرت ابراهيم عليه السلام جا پٽ هئا. حضرت ادريس عليه السلام هڪ پيغمبر آهن، جيڪو گهڻو ڪري حضرت نوح عليه السلام کان پهرين پيدا ٿيو. انهن پيغمبرن جون به خاص صفتون هتي بيان ڪيون ويون آهن، سچو هئڻ، ماڻهن کي نماز (الله جي عبادت) ۽ زڪوات (ٻانهن جي حق جي ادائيگي) جي تلقين ڪرڻ آهي. ارشاد ٿيو آهي ته انهن صفتن انهن کي الله تعاليٰ جو پسنديده بڻائي ڇڏيو ۽ اهي انتهائي اعليٰ درجي تي پهچايا ويا.

جن شخصيتن کي الله تعاليٰ پنهنجي پيغمبري لاءِ چونڊيو، انهن جي اندر اهي صفتون ڪمال درجي ۾ موجود هونديون هيون. جيئن ته عام ايمان وارن ۾ به ساڳيون صفتون گهربل آهن ۽ انهن کي به درجا به درجا ان جا اهي ئي فائدا حاصل ٿيندا آهن. جيڪي الله تعاليٰ انهن صفتن لاءِ ابدي طور تي مقرر ڪري ڇڏيا آهن.

اُولٰٓئِكَ الَّذِيۡنَ اَنۡعَمَ اللّٰهُ عَلَيۡهِمۡ مِّنَ النَّبِيّٖنَ مِنۡ ذُرِّيَّةِ اٰدَمَ ۗ وَ مِمَّنۡ حَمَلۡنَا مَعَ نُوۡحٍ ۫ وَّ مِنۡ ذُرِّيَّةِ اِبۡرٰهِيۡمَ وَ اِسۡرَآءِيۡلَ ۫ وَ مِمَّنۡ هَدَيۡنَا وَ اجۡتَبَيۡنَا ؕ اِذَا تُتۡلٰى عَلَيۡهِمۡ اٰيٰتُ الرَّحۡمٰنِ خَرُّوۡا سُجَّدًا وَّ بُكِيًّا ۩ ﴿۵۸﴾ السجدة

هي اهي ماڻهو آهن جن تي الله پيغمبرن منجهان پنهنجو فضل فرمايو. آدم جي اولاد منجهان ۽ انهن ماڻهن منجهان جن کي اسان نوح سان گڏ سوار ڪيو هو ۽ ابراهيم ۽ اسرائيل جي نسل مان ۽ انهن ماڻهن مان جن کي اسان هدايت بخشي ۽ انهن کي مقبول بڻايو. جڏهن انهن کي الرحمان جون آيتون ٻڌايون وينديون هيون ته هو روئندي سجدي ۾ ڪري پوندا هئا. ٥٨

---

هتي انهن پيغمبرن ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي، جيڪي آدم عليه السلام جي نسل، نوح جي نسل ۽ ابراهيم جي نسل منجهان پيدا ٿيا. جن کي الله تعاليٰ ان جو اهل سمجهو جو انهن کي پنهنجي خاص هدايت سان نوازي ۽ انهن کي ماڻهن جي سامهون پنهنجي نمائندگي ڪرڻ لاءِ چونڊيو.

انهن شخصيتن تي الله تعاليٰ ايترا وڏا وڏا انعام ڇو ڪيا. فرمايو ويو ته ان جو سبب سندن اها صفت هئي جو هو الله تعاليٰ جي خدائي جي احساس ۾ ايترا وڌي ويا هئا جو ان جو ڪلام ٻڌي سندن سينو لڏي ويندو هو ۽ اهي روئندي ان جي اڳيان زمين تي ڪري پوندا هئا.

”روئندي سجدي ۾ ڪرڻ“ الله جي عظمت ۽ جلال جي اعتراف جو آخري درجو آهي، جنهن کي اهو درجو ملي وڃي، ان چڻ ته ان ايمان جو ذائقو چکيو. جيڪو نبين ۽ رسولن لاءِ خاص آهي.

فَخَلَفَ مِنۡۢ بَعۡدِهِمۡ خَلۡفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَ اتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوۡفَ يَلۡقَوۡنَ غَيًّا ﴿۵۹﴾ اِلَّا مَنۡ تَابَ وَ اٰمَنَ وَ عَمِلَ صَالِحًا فَاُولٰٓئِكَ يَدۡخُلُوۡنَ الۡجَنَّةَ وَ لَا يُظۡلَمُوۡنَ شَيۡــًٔا ﴿۶۰﴾

پوءِ انهن کان بعد اهڙا نااهل سندن جانشين ٿيا جن نماز کي وڃائي ڇڏيو ۽ خواهشن جي پويان پئجي ويا، پوءِ جلد ئي اهي پنهنجي خرابي کي ڏسندا، البته جن توبهه ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ نيڪ ڪم ڪيا ته اهي ئي ماڻهو جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ سندن ذرو به حق تلفي نه ڪئي ويندي. ٥٩-٦٠

---

پيغمبر جي دعوت ذريعي جيڪي ماڻهو ٻڌجن ٿا، سندن نمايان خاصيت اها هوندي آهي جو هو خواهش پرستي کان پاڪ ٿي ويندا آهن. هو الله تعاليٰ کي ياد ڪرڻ وارا بڻجي ويندا آهن. جنهن جي هڪ صورت جو نالو نماز آهي، دين جو اصل مقصد الله تعاليٰ جي ياد آهي ۽ نماز ان ئي الله تعاليٰ جي ياد جي هڪ منظم صورت آهي.

پيغمبرن کي مڃڻ وارن جا اڳيان نسل جيڪڏهن الله تعاليٰ کان غافل ٿي وڃن ۽ خواهشن جي پنيان هلڻ لڳن ته الله وٽ اهي گمراهہ ماڻهو آهن. پيغمبرن سان وابستگي انهن کي ڪو فائدو نه ڏيندي. اهڙا ماڻهو بيشڪ پنهنجي انجام کي پهچندا، انهن ۾ صرف اهي ئي ماڻهو بچندا جيڪي پيهر اصل دين ڏانهن موٽن ۽ حقيقي معنيٰ ۾ ايمان ۽ عمل صالح جي زندگي اختيار ڪن.

آخرت لاءِ ڪوشش ڪرڻ وارن کي يڪدم پنهنجي محنت ۽ قربانين جو انجام نه ٿو ملي، ان ڪري ڪو ماڻهو شڪ ڪري سگهي ٿو ته اهو رستو اهڙو آهي جنهن ۾ عمل آهي، پر عمل جو انجام نه آهي. پر اها رڳو غلط فهمي آهي، حقيقت اها آهي ته جهڙي طرح دنيا لاءِ عمل ڪرڻ وارا پنهنجي عمل جو بدلو لهن ٿا، اهڙي طرح آخرت لاءِ عمل ڪرڻ وارا به پنهنجي عمل جو پورو بدلو لهندا، ان معاملي ۾ ڪنهن شڪ ۾ پوڻ جي ضرورت نه آهي.

جَنّٰتِ عَدْنِ ِالَّتِيْ وَعَدَ الرَّحْمٰنُ عِبَادَهٗ بِالْغَيْبِ ۭ اِنَّهٗ كَانَ وَعْدُهٗ مَاْتِيًّا ۝٦١ لَا يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا اِلَّا سَلٰمًا ۭ وَلَهُمْ رِزْقُهُمْ فِيْهَا بُكْرَةً وَّعَشِيًّا ۝٦٢ تِلْكَ الْجَنَّةُ الَّتِيْ نُوْرِثُ مِنْ عِبَادِنَا مَنْ كَانَ تَقِيًّا ۝٦٣

انهن لاءِ هميشه رهڻ وارا باغ آهن جن جو رحمان پنهنجن ٻانهن سان پرپٺ واعدو ڪيو آهي ۽ اِهو واعدو ضرور پورو ٿيڻو آهي. ان ۾ اهي ماڻهو ڪا فضول ڳالهه نه ٻڌندا سواءِ سلام جي ۽ ان ۾ سندن رزق صبح ۽ شام ملندو. هي اُها جنت آهي جنهن جو وارث اسان پنهنجن ٻانهن مان انهن کي بڻائيندسون جيڪي الله تعاليٰ کان ڊڄڻ وارا آهن. ٦١-٦٣

---

موجوده دنيا ۾ امتحان جي ڪري هر هڪ کي آزادي مليل آهي، هتي چڱائي ڪرڻ وارا به آزاد آهن ۽ برائي ڪرڻ وارا به. ان جو نتيجو اهو آهي ته موجوده دنيا ۾ هڪ سچي انسان کي ڪڏهن به سڪون حاصل نه ٿو ٿئي. هو ذاتي طور تي چاهي ڪيترو به نيڪ هجي، پر ٻين ماڻهن جون غلط ڳالهيون ان کي سڪون سان رهڻ نه ٿيون ڏين، ماڻهو پنهنجي آزادي جو غلط فائدو ڪڍندي ماحول کي خراب ڳالهين سان ڀري ڇڏيندا آهن.

جنت اها وسندي آهي جنهن مان اهڙي قسم جا سيئي انسان ڪڍي ڇڏبا، اتي صرف اهي اعليٰ ذوق جا ماڻهو آباد ڪيا ويندا. جن دنيا ۾ اهو ثبوت ڏنو هو ته هو ڪنڊن وانگر نه رهندا هئا، بلڪ گلن وانگر رهڻ چاهيندا هئا، اهڙن ماڻهن جي ماحول ۾ جيڪا زندگي بڻجندي، اها بيشڪ سلامتي واري جنت هوندي.

دنيا ۾ فضول شين کان بچڻ ۽ سلامتي جو نمونو بڻجي زندگي گذارڻ هڪ سخت عمل آهي، ان لاءِ پنهنجي آزاد زندگي کي خود پنهنجي ارادي سان پابند زندگي بڻائڻو پوندو آهي. اها سخت مشڪل قرباني آهي جنهن جو ثبوت رڳو اهو ماڻهو ڏئي سگهي ٿو جيڪو حقيقت ۾ الله کان ڊڄندو هجي. الله کان ڊڄڻ وارا ئي دنيا ۾ جنتي انسان بڻجي رهي سگهن ٿا ۽ اهي ئي اُهي ماڻهو آهن جيڪي آخرت جي ابدي جنتن ۾ داخل ڪيا ويندا.

وَ مَا نَتَنَزَّلُ اِلَّا بِاَمْرِ رَبِّكَ ۚ لَهٗ مَا بَيْنَ اَيْدِيْنَا وَ مَا خَلْفَنَا وَ مَا بَيْنَ ذٰلِكَ ۚ وَ مَا كَانَ
رَبُّكَ نَسِيًّا ﴿٦٤﴾ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ مَا بَيْنَهُمَا فَاعْبُدْهُ وَ اصْطَبِرْ لِعِبَادَتِهٖ ؕ هَلْ
تَعْلَمُ لَهٗ سَمِيًّا ﴿٦٥﴾ ع

۽ اسان نہ ٿا لهون پر تنهنجي رب جي حڪم سان. ان ئي جو آهي جيڪو اسان جي اڳيان آهي ۽ جيڪو اسان جي پٺيان آهي ۽ جيڪو ان جي وچ ۾ آهي ۽ تنهنجو رب وسارڻ وارو نہ آهي. اهو رب آهي آسمانن جو ۽ زمين جو ۽ جيڪو انهن جي وچ ۾ آهي. پوءِ تون ان ئي جي عبادت ڪر ۽ ان جي عبادت تي قائم رهہ. ڇا تون ان جهڙي نالي (واري ٻي هستي) کي ڄاڻين ٿو. ٦٤-٦٥

---

اسلامي دعوت جڏهن مخالفت جي دور ۾ هجي تہ اهو داعي جي لاءِ وڏو سخت مرحلو هوندو آهي، داعي هر روز چاهي ٿو تہ موجوده حالتن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪو نئون قدم کڻجي، جڏهن تہ الله تعاليٰ جو حڪم اهو هوندو آهي تہ صبر ۽ انتظار جو طريقو اختيار ڪيو وڃي.

اهڙي ئي ڪيفيت هڪ ڀيري رسول الله ﷺ سان پيش آئي. حالتن جي سختيءَ جي ڪري پاڻ ﷺ الله تعاليٰ طرفان وڌيڪ هدايت جي انتظار ۾ هئا، پر هڪ روايت مطابق تقريباً چاليهہ ڏينهن تائين جبرائيل عليه السلام نہ آيو. پوءِ جڏهن هو آيو تہ پاڻ ﷺ چيو اي جبرائيل عليه السلام! ايتري دير ڇو ڪري ڇڏي؟ ان جواب ڏنو تہ اسان الله تعاليٰ جي مرضي جا پابند آهيون. جڏهن الله تعاليٰ طرفان ڪا هدايت ملندي آهي تہ ايندا آهيون ۽ جڏهن هدايت نہ ٿي ملي تہ نہ ٿا اچون.

اهو واقعو بيان ڪري هتي صبر جي تلقين ڪئي وئي آهي، جيڪا صورتحال جاري آهي ان کي الله تعاليٰ پوري طرح ڏسي رهيو آهي، ان جي باوجود جيڪڏهن ان طرفان نئين هدايت نہ پئي اچي تہ ان جو مطلب اِهو آهي تہ هن وقت اهوئي ڪهربل آهي تہ هن صورتحال کي برداشت ڪيو وڃي، جيڪڏهن حڪمت جو تقاضو ڪجهہ ٻيو هجي ها تہ يقيناً ڪو ٻيو حڪم اچي ها. الله کان وڌيڪ ڪو ڄاڻڻ وارو نہ آهي. ان ڪري الله تعاليٰ کان بهتر ڪنهن جي بہ رهنمائي نہ ٿي سگهي.

"اڳرائي نہ ڪرڻ" وارين حالتن ۾ "اڳرائي ڪرڻ" جي آيت تلاش ڪرڻ صحيح نہ آهي. ايئن ڪرڻ ڄڻ تہ ان حڪم کي وقت کان پهرين لاهڻ جي ڪوشش ڪرڻ آهي، جيڪو اڃا ماٿهو لاءِ نازل نہ ٿيو آهي.

وَ يَقُوْلُ الْاِنْسَانُ ءَاِذَا مَا مِتُّ لَسَوْفَ اُخْرَجُ حَيًّا ﴿٦٦﴾ اَوَ لَا يَذْكُرُ الْاِنْسَانُ اَنَّا خَلَقْنٰهُ
مِنْ قَبْلُ وَ لَمْ يَكُ شَيْـًٔا ﴿٦٧﴾ فَوَرَبِّكَ لَنَحْشُرَنَّهُمْ وَ الشَّيٰطِيْنَ ثُمَّ لَنُحْضِرَنَّهُمْ حَوْلَ
جَهَنَّمَ جِثِيًّا ﴿٦٨﴾

۽ انسان چوي ٿو تہ ڇا آئون جڏهن مرندس تڏهن وري جيئرو ڪري ڪڍيو ويندس. ڇا انسان کي ياد نہ ٿو اچي تہ اسان هن کي ان کان اڳ بہ پيدا ڪيو ۽ هو ڪجهہ بہ نہ هو. پوءِ تنهنجي رب جو قسم اسان انهن کي جمع ڪنداسون ۽ شيطانن کي بہ، پوءِ ڪين جهنم جي چوڌاري گوڏن ڀر ڪري حاضر ڪنداسون. ٦٦-٦٨

---

عرب جا ماڻهو جيڪي قرآن جا اول مخاطب هئا، اُهي موت کان پوءِ جي زندگي کي مڃيندا هئا، پر اهو مڃڻ صرف رسمي مڃڻ هو، اهو حقيقي طورتي مڃڻ نہ هو. قرآن ۾ آخرت جي متعلق جيترا لفظ آهن، اهي سڀ پهرين کان سندن زبان ۾ موجود هئا. پر سندن زندگي تي ان مڃڻ جو ڪو بہ اثر نہ هو. سندن عملي زندگي اهڙي هئي ڄڻ تہ هو زبان سان چئي رهيا هجن تہ زندگي تہ بس اهائي زندگي آهي. مرڻ کان پوءِ ڪير اسان کي اٿاريندو ۽ ڪير اسان جو حساب وٺندو.

اها غفلت يا انڪار رڳو ان ڪري آهي جو ماڻهو سنجيدگي سان غور نہ ٿو ڪري. جيڪڏهن هو غور ڪري تہ سندس پهرين پيدائش ئي ان جي لاءِ ٻي پيدائش جو دليل بڻجي وڃي.

هتي ”شيطانن“ مان مراد برا اڳواڻ آهن. اهي اڳواڻ ڪوڙا ۽ فريب ڏيندڙ لفظ ڳالهائي عوام کي گمراهہ ڪندا آهن. ان لحاظ کان اهي اهوئي ڪم ڪندا آهن جيڪو شيطان ڪندو آهي. موجوده دنيا ۾ اهي اڳواڻ عظمت جي مقام تي ويٺل نظر ايندا آهن، ان ڪري ماڻهو انهن کي نظرانداز نہ ٿا ڪري سگهن، پر آخرت ۾ سندن عظمت ختم ٿي ويندي. اتي هي وڏا ماڻهو بہ اهڙي طرح ذلت جي کڏ ۾ وڌا ويندا جهڙي طرح سندن پيروي ڪرڻ وارا.

ثُمَّ لَنَنْزِعَنَّ مِنْ كُلِّ شِيعَةٍ أَيُّهُمْ أَشَدُّ عَلَى الرَّحْمٰنِ عِتِيًّا ۝٦٩ ثُمَّ لَنَحْنُ أَعْلَمُ بِالَّذِينَ
هُمْ أَوْلٰى بِهَا صِلِيًّا ۝٧٠ وَإِنْ مِّنْكُمْ إِلَّا وَارِدُهَا ۚ كَانَ عَلٰى رَبِّكَ حَتْمًا مَّقْضِيًّا ۝٧١ ثُمَّ نُنَجِّي
الَّذِينَ اتَّقَوْا وَّنَذَرُ الظّٰلِمِينَ فِيهَا جِثِيًّا ۝٧٢

پوءِ اسان هر ٽولي مان انهن ماڻهن کي جدا ڪنداسون جيڪي رحمان جي مقابلي ۾ سيني کان وڌيڪ سرڪش بڻيل هئا. پوءِ اسان اهڙن ماڻهن کي چڱي طرح ڄاڻندا آهيون جيڪي جهنم ۾ داخل ٿيڻ جا وڌيڪ مستحق آهن. ۽ اوهان مان ڪير نہ آهي جنهن جو ان تان گذر نہ ٿئي. اهو تنهنجي رب تي لازم آهي جيڪو پورو ٿي رهندو. پوءِ اسان انهن ماڻهن کي بچائي وٺنداسون جيڪي ڊڄڻ وارا آهن ۽ ظالمن کي ان ۾ ڪريل ڇڏي ڏينداسون. ٦٩-٧٢

---

حق کي نہ مڃڻ جرم آهي. پر حق کي نہ مڃڻ جي تحريڪ هلائڻ ان کان بہ وڌو جرم آهي. جيڪي ماڻهو حق جي خلاف تحريڪ جا اڳواڻ ٿين، اهي الله تعاليٰ جي نظر ۾ سخت سزا جا مستحق آهن. انهن کي آخرت ۾ عام ماڻهن جي مقابلي ۾ ٻيڻي سزا ڏني ويندي.

قرآن جي لفظن مان ۽ ڪجهہ روايتن مان اهو معلوم ٿيندو آهي تہ الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن سيني ماڻهن کي جهنم تان گذاريندو، اهو گذرڻ جهنم جي اندران نہ هوندو بلڪ ان جي مٿان هوندو. اِهو ايئن ئي هوندو جيئن اونهي دريا مٿان ماڻهو کُلي پل جي ذريعي گذري ويندو آهي، هو دريا جي خطرناڪ لهرن کي ڏسندو آهي، پر هو ان ۾ غرق نہ ٿو ٿئي، اهڙي طرح قيامت ۾ سيئي ماڻهو جهنم جي مٿان گذرندا. جيڪي نيڪ ماڻهو آهن، اهي اڳيان وڃي جنت ۾ داخل ٿي ويندا ۽ جيڪي برا ماڻهو آهن، اهي اڳيان نہ وڌي سگهندا. جهنم انهن کي سڄاڻي وٺندي ۽ انهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندي.

ان تجربي جو مقصد اهو هوندو تہ جنت ۾ داخل ٿيڻ وارا ماڻهو خدا جي ان عظيم نعمت جو حقيقت ۾ احساس ڪري سگهن تہ خدا ڪيڏي ڀيڙي جاءِ کان بچائي انهن کي ڪهڙي نہ بهترين جاءِ ۾ پهچائي ڇڏيو.

وَ اِذَا تُتْلٰى عَلَيۡهِمۡ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ قَالَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لِلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا ۙ اَىُّ الۡفَرِيۡقَيۡنِ خَيۡرٌ
مَّقَامًا وَّ اَحۡسَنُ نَدِيًّا﴿۷۳﴾ وَ كَمۡ اَهۡلَكۡنَا قَبۡلَهُمۡ مِّنۡ قَرۡنٍ هُمۡ اَحۡسَنُ اَثَاثًا وَّ رِءۡيًا﴿۷۴﴾

۽ جڏهن انهن کي اسان جون پڌريون آيتون پڙهايون وينديون آهن ته انڪار ڪرڻ وارا ايمان آڻڻ وارن کي چوندا آهن ته ٻنهي جماعتن ۾ ڪير بهتر حالت ۾ آهي ۽ ڪنهن جي مجلس وڌيڪ سٺي آهي ۽ ان کان پهرين اسان ڪيتريون ئي قومون ناس ڪري ڇڏيون، جيڪي انهن کان سامان ۾ ۽ شان ۾ وڌيڪ هيون. ٧٣-٧٤

جيڪي ماڻهو حق ۽ ناحق جي بحث ۾ پون، جيڪي آخرت جي مقابلي ۾ دنيا جي مصلحتن کي اهميت ڏين، جيڪي الله تعاليٰ کي خوش ڪرڻ کان وڌيڪ عوام کي خوش ڪرڻ جو اهتمام ڪندا هجن، اهڙا ماڻهو هميشه وڌيڪ ڪامياب رهندا آهن. سندن چؤطرف وڌيڪ رونق ۽ شان گڏ ٿي ويندي آهي، ٻئي پاسي جيڪي ماڻهو هر معاملي ۾ اهو ڏسن ته حق ڇا آهي ۽ ناحق ڇا، جيڪي دنيا جي مصلحتن کي نظرانداز ڪن ۽ آخرت جي مصلحتن کي ترجيح ڏين، جيڪي عوامي رجحان کان وڌيڪ خدا جو لحاظ ڪن، اهڙا ماڻهو اڪثر ظاهري شان و شوڪت وارين شين کان محروم رهندا آهن.

اهو فرق گهڻن ئي ماڻهن لاءِ غلط فهمي جو سبب بڻجي ويندو آهي، اهي سمجهن ٿا ته جيڪي ماڻهو دنياوي لحاظ کان بهتر آهن، اهي خدا جا پسنديده آهن ۽ جيڪي ماڻهو دنياوي لحاظ کان بهتر نه آهن، اهي الله تعاليٰ جي نزديڪ ناپسنديده آهن. پر اهو معيار سراسر غلط آهي ۽ ماضي جي تاريخ ان جي ترديد ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. ڪيترائي شان ۽ فخر وارا زمين هيٺان دفن ٿي ويا. ڪيترائي مهل آهن جيڪي اڄ ڪنڊرن کان سواءِ ڪنهن ٻي صورت ۾ ڏسڻ وارن کي نظر نه ٿا اچن.

قُلۡ مَنۡ كَانَ فِى الضَّلٰلَةِ فَلۡيَمۡدُدۡ لَهُ الرَّحۡمٰنُ مَدًّا ۚ حَتّٰٓى اِذَا رَاَوۡا مَا يُوۡعَدُوۡنَ اِمَّا
الۡعَذَابَ وَاِمَّا السَّاعَةَ ؕ فَسَيَعۡلَمُوۡنَ مَنۡ هُوَ شَرٌّ مَّكَانًا وَّ اَضۡعَفُ جُنۡدًا﴿۷۵﴾

چئو ته جيڪو ماڻهو گمراهي ۾ هوندو آهي ته رحمان ان کي ڍر ڏيندو آهي، ايستائين جو اهي ڏسي وٺندا ان شيءِ کي جنهن جو انهن سان واعدو ڪيو پيو وڃي، عذاب يا قيامت، پوءِ انهن کي معلوم ٿي ويندو ته ڪنهن جو حال برو آهي ۽ ڪنهن جو جٿو ڪمزور آهي. ٧٥

سرڪش ماڻهو کي سرڪشي جو موقعو ملڻ امتحان جي مهلت جي ڪري هوندو آهي نه وري ڪنهن حق جي ڪري. پر اڪثر ايئن ٿيندو آهي جو ماڻهو ان فرق کي سمجهي نه ٿو سگهي، هو وقتي مهلت کي پنهنجي مستقل حالت سمجهي وٺندو آهي. ان جي اک ان وقت تائين نه ٿي کُلي جيستائين مهلت جي خاتمي جو اعلان نه ٿي وڃي ۽ ان کان سرڪشي جو حق کسي نه ونجي.

الله تعاليٰ پنهنجي مصلحت جي تحت ڪنهن کي دنيا ئي ۾ اهو تجربو ڪرائي ڇڏيندو آهي، ڪو ان ئي حال ۾ رهندو آهي، ايستائين جو موت ان کي اها شيءِ ڏيکاري ٿي ڇڏي جنهن کي هو زندگي ۾ ڏسڻ لاءِ تيار نه هو.

وَ يَزِيْدُ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اهْتَدَوْا هُدًى ؕ وَ الْبٰقِيٰتُ الصّٰلِحٰتُ خَيْرٌ عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّ خَيْرٌ مَّرَدًّا ﴿۷۶﴾

۽ الله هدايت وٺڻ وارن جي هدايت ۾ اضافو ڪندو آهي ۽ باقي رهڻ واريون نيڪيون تنهنجي رب وٽ اجر جي لحاظ کان بهتر آهن ۽ انجام جي لحاظ کان به بهتر. ۷۶

---

هدايت پائڻ اهو آهي ته ماڻهو جو شعور صحيح رخ ۾ جاڳي پوي. اهڙي ماڻهو جي سامهون جيڪا به صورتحال اچي ٿي ته هو ان جو صحيح تجزيو ڪري ان کي پنهنجي شعور جي غذا بڻائي وٺندو آهي. اهڙي طرح ان جي هدايت ۾ يقين ۽ ڪيفيت جي لحاظ کان برابر اضافو ٿيندو رهندو آهي. ان جي هدايت پٿر جي جبل وانگر نه هوندي آهي، بلڪ زنده وڻ وانگر هوندي آهي جيڪو برابر وڌندو رهي.

جهڙي طرح دنيا لاءِ عمل ڪرڻ وارو برابر ترقي ڪندو رهي ٿو، اهڙي طرح آخرت کي سامهون رکي عمل ڪرڻ واري جو عمل به مسلسل وڌندو رهي ٿو. اهو اضافو ڇاڪاڻ ته آخرت ۾ ذخيرو ٿي رهيو آهي، ان ڪري اهو دنيا ۾ نظر نه ٿو اچي، پر قيامت جڏهن پردو هٽائي ڇڏيندي ته هر ماڻهو ڏسي وٺندو ته هدايت پائڻ واري جي هدايت ڪهڙي طرح وڌي رهي هئي ۽ ان سان گڏ ان جو عمل به.

اَفَرَءَيْتَ الَّذِىْ كَفَرَ بِاٰيٰتِنَا وَ قَالَ لَاُوْتَيَنَّ مَالًا وَّ وَلَدًا ﴿۷۷﴾ اَطَّلَعَ الْغَيْبَ اَمِ اتَّخَذَ عِنْدَ الرَّحْمٰنِ عَهْدًا ﴿۷۸﴾ كَلَّا ؕ سَنَكْتُبُ مَا يَقُوْلُ وَ نَمُدُّ لَهٗ مِنَ الْعَذَابِ مَدًّا ﴿۷۹﴾ وَّ نَرِثُهٗ مَا يَقُوْلُ وَ يَاْتِيْنَا فَرْدًا ﴿۸۰﴾

ڇا تو ان کي ڏٺو جنهن اسان جي آيتن جو انڪار ڪيو ۽ چيائين ته مون کي مال ۽ اولاد ملي رهندا. ڇا ان غيب ۾ جهاتي پائي ڏٺو آهي يا ان الله کان ڪو عهد ورتو آهي. هرگز نه. جيڪو ڪجهه هو چئي ٿو اسان ان کي لکي وٺنداسون ۽ ان جي سزا ۾ اضافو ڪنداسون ۽ جن شين جي هو دعويٰ ڪري ٿو، انهن جا وارث اسان ٿينداسون ۽ هو اسان وٽ اڪيلو ايندو. ۷۷-۸۰

---

جڏهن ماڻهو وٽ دولت ۽ طاقت جو ڪو حصو ايندو آهي ته ان جي اندر غلط قسم جي خوداعتمادي پيدا ٿي ويندي آهي، هو اهڙي روش اختيار ڪري ٿو جيڪا ان جي اصل حيثيت مطابق نه هوندي آهي. هو اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ لڳندو آهي، جيڪي ان کي ڳالهائڻ نه کپن.

اهڙو ئي هڪ واقعو مڪي ۾ ٿيو. عاص بن وائل مڪي جو هڪ مشرڪ سردار هو. حضرت خباب بن الارت جي ڪجهه رقم ان جي ذمي باقي هئي. ان رقم جو مطالبو ڪيو ته عاص بن وائل چيو ته آئون تنهنجي رقم ان وقت ڏيندس جڏهن تون محمد ﷺ جو انڪار ڪندين. حضرت خباب جي زبان مان نڪتو ته آئون هرگز محمد ﷺ جو انڪار نه ڪندس، ايستائين جو تون مري وڃين ۽ پيهر جيئرو ٿئين، عاص بن وائل اهو ٻڌي ڪري چيو ته جڏهن آئون پيهر جيئرو ٿيندس ته اتي به آئون مال ۽ اولاد جو مالڪ هوندس، ان وقت تون مون کان پنهنجي رقم وٺجانءِ.

اهي سڀ ڪوڙي خوداعتمادي جون ڳالهيون آهن ۽ ڪوڙي خوداعتمادي ڪنهن جي ڪجهه ڪم اچڻ واري نہ آهي.

وَ اتَّخَذُوۡا مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ اٰلِهَةً لِّيَكُوۡنُوۡا لَهُمۡ عِزًّا ﴿۸۱﴾ كَلَّا ؕ سَيَكۡفُرُوۡنَ بِعِبَادَتِهِمۡ وَ
يَكُوۡنُوۡنَ عَلَيۡهِمۡ ضِدًّا ﴿۸۲﴾ ع ۱۷ ۸

۽ انهن الله کان سواءِ معبود بڻايا آهن تہ جيئن اهي سندن پرجهلا ٿين. هرگز نہ. اهي سندن عبادت جو انڪار ڪندا ۽ سندن مخالف بڻجي ويندا. ٨١-٨٢

---

انسان اهو چاهي ٿو تہ هو دنيا ۾ جيڪو چاهي ڪري، پر ان کي ان جي بدعملي جو انجام نہ ڀوڳڻو پوي. اهڙي قسم جي حفاظت ڪنهن کي الله وٽان نہ ٿي ملي سگهي. ان ڪري انسان اهڙيون هستيون بڻائي ورتيون جيڪي الله جون محبوب هجن ۽ ان جي طرفان الله وٽ سفارشي بڻجي سگهن.

پر اهي سڀ بي بنياد قياس آهن، جيڪي ڪنهن جي ڪجهه بہ ڪم اچڻ وارا نہ آهن. ايستائين جو اهي هستيون جن کي ماڻهن شريڪ فرض ڪري سندن لاءِ عبادتي رسمون ادا ڪيون هيون، اهي بہ قيامت جي ڏينهن انهن کان بيزاري جو اظهار ڪنديون. انسان کي انهن مان نفرت کان سواءِ ٻيو ڪجهه بہ حاصل نہ ٿي سگهندو.

اَلَمۡ تَرَ اَنَّاۤ اَرۡسَلۡنَا الشَّيٰطِيۡنَ عَلَى الۡكٰفِرِيۡنَ تَؤُزُّهُمۡ اَزًّا ﴿۸۳﴾ فَلَا تَعۡجَلۡ عَلَيۡهِمۡ ؕ اِنَّمَا
نَعُدُّ لَهُمۡ عَدًّا ﴿۸۴﴾ يَوۡمَ نَحۡشُرُ الۡمُتَّقِيۡنَ اِلَى الرَّحۡمٰنِ وَفۡدًا ﴿۸۵﴾ وَّ نَسُوۡقُ الۡمُجۡرِمِيۡنَ اِلٰى
جَهَنَّمَ وِرۡدًا ﴿۸۶﴾ لَا يَمۡلِكُوۡنَ الشَّفَاعَةَ اِلَّا مَنِ اتَّخَذَ عِنۡدَ الرَّحۡمٰنِ عَهۡدًا ﴿۸۷﴾

وقف لازم وقف لازم

ڇا تو نہ ڏٺو تہ اسان منڪرن تي شيطانن کي ڇڏي ڏنو آهي جو هو انهن کي خوب اپاري رهيا آهن، پوءِ تون انهن لاءِ جلدي نہ ڪر اسان سندن ڳڻپ پوري ڪري رهيا آهيون. جنهن ڏينهن اسان ڊڄڻ وارن کي رحمان جي طرفان مهمان ڪري گڏ ڪنداسون ۽ مجرمن کي جهنم ڏانهن اُڃو هڪليندا سون. ڪنهن کي شفاعت جو اختيار نہ هوندو، سواءِ ان جي جنهن رحمان وٽان اجازت ورتي هجي. ٨٣-٨٧

---

ماڻهو جي سامهون حق پنهنجي واضح صورت ۾ اچي. پر هو ان کي نظرانداز ڪري ڇڏي تہ اهڙو عمل شيطان کي پنهنجي اندر رستو ڏيڻ جو سبب بڻجي ويندو آهي. ان کان پوءِ ماڻهو جو ذهن بلڪل مخالف رخ ۾ هلي پوندو آهي. هاڻي هر دليل سندس ذهن ۾ وڃي ابتو ٿي ويندو آهي. خدا جون نشانيون ان جي سامهون اينديون آهن. پر هو انهن کي هٿ ٺوڪيل دليل ڏئي پنهنجي سرڪشي جو عذر بڻائي وٺندو آهي.

جيڪو ماڻهو ڪوڙن سهارن کي پنهنجو سهارو سمجهي وٺي، هو هميشہ اهڙي قسم جي ناداني ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي. پر جيڪي الله کان ڊڄڻ وارا آهن، اهي صرف الله کي پنهنجو سهارو سمجهن ٿا. الله جو ڊپ سندن نظر ۾ انهن سڀني هستين کي ختم ڪري ٿو ڇڏي جن کي ڪوڙو سهارو بڻائي ماڻهو گمراه ٿيندا آهن. اهي ئي اُهي ماڻهو آهن جيڪي آخرت ۾ الله جا باعزت مهمان بڻايا ويندا.

وَ قَالُوا اتَّخَذَ الرَّحْمٰنُ وَلَدًا ﴿٨٨﴾ لَقَدْ جِئْتُمْ شَيْـًٔا اِدًّا ﴿٨٩﴾ تَكَادُ السَّمٰوٰتُ يَتَفَطَّرْنَ مِنْهُ وَ
تَنْشَقُّ الْاَرْضُ وَ تَخِرُّ الْجِبَالُ هَدًّا ﴿٩٠﴾ اَنْ دَعَوْا لِلرَّحْمٰنِ وَلَدًا ﴿٩١﴾ وَ مَا يَنْۢبَغِيْ لِلرَّحْمٰنِ
اَنْ يَّتَّخِذَ وَلَدًا ﴿٩٢﴾

۽ اهي ماڻهو چون ٿا تہ رحمان ڪنهن کي پٽ بڻايو آهي. اها توهان وڏي ڳري ڳالهہ چئو ٿا. قريب آهي جو ان جي ڪري آسمان ڦاٽي پون ۽ زمين ٽڪرا ٽي وڃي ۽ جبل ٽڪرا ٽڪرا ٿي ڪري پون. ان تي جو ماڻهو رحمان لاءِ اولاد جي نسبت ڪندا آهن. حالانڪ رحمان جو اهو شان نہ آهي جو هو اولاد ڪري وٺي. ٨٨-٩٢

---

الله تعاليٰ طرفان اولاد مڃڻ ٻن سببن جي ڪري ٿي سگهي ٿو. هڪ اهو تہ الله تعاليٰ کي پنهنجي لاءِ مددگار جي ضرورت هجي. يا هو عام انسان وانگر اولاد جي خواهش رکندو هجي. ان ڪري ان پنهنجو اولاد بڻايو. اهي ٻئي ڳالهيون بي بنياد آهن.

زمين ۽ آسمان جي بناوٽ ايڏي تہ ڪامل آهي جو اهو بلڪل ناقابل تصور آهي تہ انهن کي ٺاهڻ وارو ۽ هلائڻ وارو الله تعاليٰ اهڙو هجي جو انسان وانگر ڪمزوريون ۽ ڪميون پنهنجي اندر رکندو هجي. مخلوق پنهنجي خالق جو جيڪو تعارف ڪرائي رهي آهي، ان ۾ الله تعاليٰ جي اولاد جو تصور ڪهڙي بہ طرح صحيح ثابت نہ ٿو ٿئي.

اِنْ كُلُّ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ اِلَّاۤ اٰتِي الرَّحْمٰنِ عَبْدًا ﴿٩٣﴾ لَقَدْ اَحْصٰىهُمْ وَ عَدَّهُمْ
عَدًّا ﴿٩٤﴾ وَ كُلُّهُمْ اٰتِيْهِ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فَرْدًا ﴿٩٥﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ
سَيَجْعَلُ لَهُمُ الرَّحْمٰنُ وُدًّا ﴿٩٦﴾

آسمانن ۽ زمين ۾ ڪوبہ نہ آهي جيڪو رحمان جو ٻانهو ٿي ڪري نہ اچي. ان وٽ سندن شمار آهي ۽ ان انهن کي چڱي طرح ڳڻي رکيو آهي ۽ انهن مان هر هڪ قيامت جي ڏينهن ان جي سامهون اڪيلو ايندو، البتہ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ جن نيڪ عمل ڪيا، تن لاءِ الله تعاليٰ محبت پيدا ڪري ڇڏيندو. ٩٣-٩٦

---

اڪثر ايئن ٿيندو آهي تہ جيڪي ماڻهو خالص حق ڪٽي اٿندا آهن، اهي عوام جي نزديڪ اٽوٽنڊڙ ٿي رهجي ويندا آهن. ملاوٽ واري سچائي تي قائم ٿيڻ وارا ماڻهو خالص سچائي جي علمبردار کي وحشت جي نظر سان ڏسڻ لڳندا آهن.

پر اهو صرف موجوده دنيا جو معاملو آهي، آخرت جو معاملو ان کان بلڪل مختلف هوندو. اتي جو سڄو ماحول انهن ماڻهن سان گڏ هوندو جيڪي ملاوٽ کان پاڪ حق تي پاڻ کي کڙو ڪن. آخرت جي دنيا ۾ عزت ۽ مقبوليت سڄي انهن ماڻهن جي حصي ۾ ايندي جن موجوده دنيا جي عزت ۽ مقبوليت کان بي پرواهہ ٿي ڪري پنهنجي پاڻ کي خالص سچائي سان وابستہ ڪيو هو.

ملاوٽ واري سچائي جي دنيا ۾ ملاوٽ واري سچائي تي کڙو ٿيڻ وارو عزت پائيندو، اهڙي طرح خالص سچائي جي دنيا ۾ ان کي عزت ملندي جيڪو خالص سچائي جي زمين تي بيٺل هو.

فَاِنَّمَا يَسَّرْنٰهُ بِلِسَانِكَ لِتُبَشِّرَ بِهِ الْمُتَّقِيْنَ وَ تُنْذِرَ بِهٖ قَوْمًا لُّدًّا ﴿٩٧﴾ وَ كَمْ اَهْلَكْنَا
قَبْلَهُمْ مِّنْ قَرْنٍ ؕ هَلْ تُحِسُّ مِنْهُمْ مِّنْ اَحَدٍ اَوْ تَسْمَعُ لَهُمْ رِكْزًا ﴿٩٨﴾

پوءِ اسان هن قرآن کي تنهنجي زبان ۾ ان ڪري آسان ڪري ڇڏيو جو تون متقين کي خوشخبري ٻڌائي ڇڏ ۽ جهيڙو ڪندڙ ماڻهن کي ڊيڄاري ڇڏ ۽ انهن کان اڳ ۾ اسان ڪيترين ئي قومن کي ناس ڪري ڇڪا آهيون. ڇا تون انهن مان ڪنهن کي ڏسين ٿو يا سندن ڪو آواز ٻڌين ٿو. ٩٧-٩٨

---

الله تعاليٰ جو ڪتاب انسان جي قابل فهم زبان ۾ آهي. انهيءَ سان گڏ ان جي مضمونن ۾ انهن سيني پهلوئن جي پوري رعايت موجود آهي، جيڪي ڪنهن ڪتاب کي ان قابل بڻائيندا آهن جو هو ان مان رهنمائي وٺي سگهي، پر ان جي باوجود قرآن انهن ماڻهن لاءِ رهنمائي جو ذريعو بڻجندو آهي، جيڪي سنجيده هجن ۽ جن کي اها ڳڻتي هجي ته هو حق ۽ ناحق کي ڄاڻين ۽ هو ناحق کان بچن ۽ حق مطابق پنهنجي زندگي جي تعمير ڪن. جيڪي ماڻهو سنجيدگي ۽ طلب کان خالي هجن، اهي قرآن جي تعليم کي ٻڌي رڳو بي معنيٰ بحث ڪندا، هو ان مان ڪو فائدو حاصل نه ٿا ڪري سگهن.

جيڪي ماڻهو حق جي دعوت جا مخالف بڻجي بيهي رهن، اهي هميشه ان غلط فهمي ۾ هوندا آهن جو ايئن ڪرڻ سان سندن ڪجهه بگڙڻ وارو نه آهي. سندن آس پاس حق جي مخالفن جي تباهي جا واقعا موجود هوندا آهن، پر هو انهن مان عبرت نٿا وٺن. هو آخر وقت تائين اهوئي سمجهندا آهن ته جيڪو ڪجهه ٿيو اهو رڳو ٻين لاءِ هو. انهن سان ڪجهه ٿيڻ وارو نه آهي.

پر الله تعاليٰ جو قانون سيني لاءِ برابر آهي. هتي هر ماڻهو سان اهوئي ٿيڻ وارو آهي، جيڪو ٻين سان ٿيو، سڄڻ لاءِ سڄو ۽ برن لاءِ برو.

(٢٠) سُوْرَةُ طٰهٰ مَكِّيَّةٌ (٤٥) — اٰياتها ١٣٥ — رکوعاتها ٨

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

طٰهٰ ﴿١﴾ مَآ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْقُرْاٰنَ لِتَشْقٰٓى ﴿٢﴾ اِلَّا تَذْكِرَةً لِّمَنْ يَّخْشٰى ﴿٣﴾ تَنْزِيْلًا مِّمَّنْ خَلَقَ
الْاَرْضَ وَ السَّمٰوٰتِ الْعُلٰى ﴿٤﴾ اَلرَّحْمٰنُ عَلَى الْعَرْشِ اسْتَوٰى ﴿٥﴾ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي
الْاَرْضِ وَ مَا بَيْنَهُمَا وَ مَا تَحْتَ الثَّرٰى ﴿٦﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

طٰهٰ-اسان قرآن توتي ان ڪري نازل نه ڪيو آهي جو تون تڪليف ۾ پئجي وڃين. بلڪ هي اهڙي ماڻهو جي نصيحت لاءِ جيڪو ڊڄندو هجي، هي ان طرفان نازل ڪيو ويو آهي جنهن زمين کي ۽ بلند آسمانن کي پيدا ڪيو آهي. هو رحمت وارو آهي، عرش تي قائم آهي. ان ئي جو آهي جيڪو ڪجهه آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو ڪجهه زمين ۾ آهي ۽ جيڪو انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي ۽ جيڪو ڪجهه زمين جي هيٺ آهي. ١-٦

---

قرآن جيتوڻيڪ صرف هڪ نصيحت آهي. پر هو مدعو لاءِ حجت يا نصيحت ان وقت بڻجندو آهي، جڏهن ته ان جي دعوت ڏيڻ وارو پنهنجي پاڻ کي ان جي راهه ۾ کپائي ڇڏي. ٻين جي خيرخواهي ۾ هو پنهنجي پاڻ کي ان حدتائين نظرانداز ڪري ڇڏي جو اهو چيو وڃڻ لڳي ته هن ماڻهن کي حق جي راهه تي آڻڻ لاءِ پنهنجي پاڻ کي مشقت ۾ وجهي ڇڏيو.

جيئن ته دعوت کي چاهي ڪيترو ئي ڪامل ۽ معياري انداز ۾ پيش ڪري ڇڏجي، عملي طورتي ان مان هدايت رڳو ان الله تعاليٰ جي ٻانهي کي ملندي آهي جيڪو حق شناس هجي، جنهن جي اندر اها صلاحيت هجي جو دليل جي سطح تي ڳالهه جو واضح هجڻ ئي ان جي اک کولڻ لاءِ ڪافي ٿي وڃي.

جنهن هستي سڄي عالم جي تخليق ڪئي آهي، ان ئي قرآن کي به نازل ڪيو آهي. ان ڪري قرآن ۽ فطرت ۾ ڪو تضاد نه آهي. قرآن هڪ اهڙي حقيقت کي ياد ڪرائي ٿو، جنهن کي سڃاڻڻ جي صلاحيت انساني فطرت جي اندر پهرين کان موجود آهي.

وَ اِنۡ تَجۡهَرۡ بِالۡقَوۡلِ فَاِنَّهٗ يَعۡلَمُ السِّرَّ وَ اَخۡفٰى ۝۷ اَللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ لَهُ الۡاَسۡمَآءُ الۡحُسۡنٰى ۝۸

جيڪڏهن تون ڏاڍيان ڳالهائين ته بيشڪ اهو ڳجهه ۽ پڌرو ڄاڻندڙ آهي، اهو الله آهي ان کان سواءِ ڪو معبود نه آهي. سڀئي سٺا نالا ان جا ئي آهن. ۷-۸

دنيا ۾ هڪ پاسي اهي ماڻهو آهن جن جو مذهب دنيا سان مصلحت پسندي هوندو آهي، ٻئي پاسي ملاوٽ کان پاڪ حق جو داعي آهي جنهن جو مذهب الله تعاليٰ سان تعلق تي قائم هوندو آهي. پهرين جماعت وارن کي پنهنجي ماحول ۾ هر پاسي ساٿي ۽ مددگار ملي ويندا آهن، انهن کي ڪڏهن به تنها ٿيڻ جو احساس نه ٿو ٿئي. ان جي ابتڙ حق جو داعي جنهن معبود سان ٻيٺو هوندو آهي، اهو اکين کان پري هوندو آهي. حالتن جي طوفان ۾ بار بار ان جو دل تڙپي ٿو ته هو ڪڏهن پنهنجي دل ۾ الله تعاليٰ ڏانهن متوجهه ٿيندو آهي ۽ ڪڏهن ان جي زبان مان بلند آواز ۾ دعا جا ڪلما نڪري ويندا آهن. ايئن لڳندو آهي جو هن پريل دنيا ۾ هو اڪيلو آهي. ان جو ڪو به ساٿي ۽ مددگار نه آهي.

پر اها صرف ظاهري حالت آهي. حقيقت جي لحاظ کان حق جو داعي سڀني کان وڌيڪ مضبوط سهاري تي بيٺل هوندو آهي. هو اهڙي الله تعاليٰ کي پڪاري رهيو آهي جيڪو تنهائي جي لفظن ۽ دل جي سرگوشين کان باخبر آهي. هن ان الله تعاليٰ کي پنهنجو سهارو بڻايو آهي جيڪو انهن سڀني سمجهه ۾ ايندڙ ۽ سمجهه ۾ نه ايندڙ قوتن جو مالڪ آهي. جيڪي ڪنهن جي مدد لاءِ گهربل هجن.

وَ هَلۡ اَتٰىكَ حَدِيۡثُ مُوۡسٰى ۝۹ اِذۡ رَاٰ نَارًا فَقَالَ لِاَهۡلِهِ امۡكُثُوۡۤا اِنِّىۡۤ اٰنَسۡتُ نَارًا لَّعَلِّىۡۤ اٰتِيۡكُمۡ مِّنۡهَا بِقَبَسٍ اَوۡ اَجِدُ عَلَى النَّارِ هُدًى ۝۱۰

۽ ڇا توکي موسيٰ جي ڳالهه پهتي آهي. جڏهن ته ان هڪ باهه ڏٺي ته پنهنجي گهروارن کي چيائين ته ترسو، مون هڪ باهه ڏٺي آهي شايد آئون ان مان توهان لاءِ هڪ ٽانڊو آڻيان يا ان باهه وٽ مون کي رستي جو ڏس ملي وڃي. ۹-۱۰

حضرت موسيٰ عليه السلام مصر ۾ پيدا ٿيا. اتي هڪ موقعي تي هڪ قبطي سندس هٿان هلاڪ ٿي ويو. ان کان پوءِ هو مصر مان نڪري مدين هليا ويا. اتي هو ڪيترائي سال رهيا. اتي ئي هڪ عورت سان نڪاح ڪيو ۽ پوءِ پنهنجي زال کي وٺي واپس مصر ڏانهن روانا ٿيا. ان وقت پاڻ عليه السلام سان ٻڪريون به هيون.

حضرت موسيٰ عليه السلام سفر ۾ سينا جي جزيري جي اتر طرف طور جي وادي واري علائقي مان لنگهي رهيا هئا. رات پئجي وئي ته اونداهي ۾ رستي جو اندازو نه پئي ٿيو. اهو سخت سردي جو موسم هو. ان وچ ۾ انهن کي ڏسڻ ۾ آيو ته پري هڪ باهه ٻري رهي آهي. اهو ڏسي موسيٰ عليه السلام ان رخ تي روانو ٿيو، ته جيئن سيءُ کان بچڻ لاءِ باهه حاصل ڪن ۽ اتي ڪجهه ماڻهو هجن ته انهن کان رستو معلوم ڪن.

فَلَمَّآ اَتٰىهَا نُوْدِيَ يٰمُوْسٰى ﴿١١﴾ اِنِّيْٓ اَنَا رَبُّكَ فَاخْلَعْ نَعْلَيْكَ ۚ اِنَّكَ بِالْوَادِ الْمُقَدَّسِ طُوًى ﴿١٢﴾
وَاَنَا اخْتَرْتُكَ فَاسْتَمِعْ لِمَا يُوْحٰى ﴿١٣﴾ اِنَّنِيْٓ اَنَا اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنَا فَاعْبُدْنِيْ ۙ وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ
لِذِكْرِيْ ﴿١٤﴾ اِنَّ السَّاعَةَ اٰتِيَةٌ اَكَادُ اُخْفِيْهَا لِتُجْزٰى كُلُّ نَفْسٍۢ بِمَا تَسْعٰى ﴿١٥﴾ فَلَا يَصُدَّنَّكَ
عَنْهَا مَنْ لَّا يُؤْمِنُ بِهَا وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ فَتَرْدٰى ﴿١٦﴾

پوءِ جڏهن هو ان وٽ پهتو ته آواز ڏني وئي ته اي موسيٰ آئون ئي تنهنجو رب آهيان. تنهن ڪري تون پنهنجون جتيون لاهه. ڇاڪاڻ ته تون طويٰ جي مقدس وادي ۾ آهين ۽ مون توکي چونڊي ورتو آهي، تنهن ڪري جيڪو وحي ڪيو پيو وڃي ان کي ٻڌ. آئون ئي الله آهيان مون کان سواءِ ڪو معبود نه آهي، تنهن ڪري تون منهنجي ئي عبادت ڪر ۽ منهنجي ياد لاءِ نماز قائم ڪر بيشڪ قيامت اچڻ واري آهي. آئون ان کي ڳجهو رکڻ چاهيان ٿو ته جيئن هر ماڻهو کي ان جي ڪيل جو بدلو ملي. پوءِ ان کان توکي اهو شخص غافل نه ڪري ڇڏي جيڪو ان تي ايمان نه ٿو رکي ۽ پنهنجي خواهشن تي هلي ٿو، سو تون مٿان هلاڪ ٿي وڃين. ١١-١٦

---

حضرت موسيٰ عليه السلام کي جيڪا باهه نظر آئي اها عام قسم جي باهه نه هئي، بلڪ الله تعاليٰ جي تجلي هئي . تنهن ڪري جڏهن هو اتي پهتا ته انهن کي احساس ڏياريو ويو ته هو هن وقت ڪٿي آهن. انهن کي عاجزي سان پوري طرح متوجهه ڪرڻ لاءِ جتيون لاهڻ جو حڪم ٿيو، پوءِ آواز آيو ته هن وقت تون الله تعاليٰ سان هم ڪلام آهين ۽ الله تعاليٰ توکي پنهنجي پيغمبري لاءِ چونڊيو آهي.

ان وقت حضرت موسيٰ عليه السلام کي جيڪا تعليم ڏني وئي سا اُها ئي هئي جيڪا تعليم سيني پيغمبرن کي هميشه ڏني وئي آهي، يعني هڪ الله تعاليٰ کي معبود بڻائڻ. انهيءَ جي عبادت ڪرڻ. ان ئي کي هر موقعي تي ياد رکڻ. پوءِ حضرت موسيٰ عليه السلام کي زندگي جي ان حقيقت جي خبر ڏني وئي ته موجوده دنيا امتحان جي دنيا آهي . هڪ خاص وقت تائين جي لاءِ الله تعاليٰ حقيقتن کي غيب ۾ لڪائي ڇڏيو آهي. قيامت ۾ اهو پردو هٽي ويندو. ان کانپوءِ انساني زندگي جو ٻيو دور شروع ٿيندو جنهن ۾ هر ماڻهو ان عمل مطابق مرتبو پائيندو جيڪو هن موجوده دنيا ۾ ڪيو هو.

جڏهن هڪ ماڻهو تي خواهشن جو غلبو ٿيندو آهي ۽ هو آخرت کان بي پرواهه ٿي ڪري دنيا جي رستن تي هلي پوندو آهي ته هو پنهنجي ان عمل کي حق ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجا نظريا ٺاهيندو آهي، هو پنهنجي روش کي خوبصورت لفظن ۾ بيان ڪندو آهي، ان کي ٻڌي ٻيا ماڻهو به آخرت کان غافل ٿي

ويندا آهن. اهڙي حالت ۾ مؤمن کي پنهنجي باري ۾ سخت هوشيار رهڻ جي ضرورت آهي. ان کي پنهنجي پاڻ کي ان کان بچائڻو آهي ته هو الله تعاليٰ کان غافل ۽ آخرت کي وساري ڇڏڻ وارن ماڻهن کي ڏسي انهن کان متاثر ٿي وڃي يا انهن جي خوبصورت ڳالهين جي فريب ۾ اچي آخرت کي پسند ڪرڻ واري زندگي کي وڃائي ڇڏي.

وَ مَا تِلْكَ بِيَمِيْنِكَ يٰمُوْسٰى ﴿١٧﴾ قَالَ هِيَ عَصَايَ ۚ اَتَوَكَّؤُا عَلَيْهَا وَ اَهُشُّ بِهَا عَلٰى غَنَمِيْ وَ لِيَ فِيْهَا مَاٰرِبُ اُخْرٰى ﴿١٨﴾ قَالَ اَلْقِهَا يٰمُوْسٰى ﴿١٩﴾ فَاَلْقٰىهَا فَاِذَا هِيَ حَيَّةٌ تَسْعٰى ﴿٢٠﴾ قَالَ خُذْهَا وَ لَا تَخَفْ ۫ سَنُعِيْدُهَا سِيْرَتَهَا الْاُوْلٰى ﴿٢١﴾

۽ هي تنهنجي هٿ ۾ ڇا آهي اي موسيٰ! ان چيو هي منهنجي لٺ آهي. آئون ان تي ٽيڪ ڏيندو آهيان ۽ ان سان پنهنجن ٻڪرين لاءِ پن ڇاڻيندو آهيان. ان ۾ منهنجي لاءِ ٻيا به فائدا آهن. فرمايائين ته اي موسيٰ! ان کي زمين تي اڇلائي ڇڏ. هن ان کي اڇلائي ڇڏيو ته يڪدم هو هڪ ڊوڙندڙ نانگ ٿي پئي، چيائين ته ان کي پڪڙ ۽ نه ڊڄ اسان وري ان کي ان جي پهرين حالت ۾ موٽائينداسون. ١٧-٢١

---

”تنهنجي هٿ ۾ ڇا آهي“ اهو سوال حضرت موسيٰ عليه السلام جي شعور کي زنده ڪرڻ لاءِ هو. ان جو مقصد اهو هو ته لٺ جو لٺ هئڻ حضرت موسيٰ جي ذهن ۾ تازو ٿي وڃي، ته جيئن جڏهن اُها الله تعاليٰ جي قدرت سان نانگ بڻجي وڃي ته هو پوري طرح ان جي قدر ۽ قيمت جو احساس ڪري سگهي.

حضرت موسيٰ عليه السلام جي لٺ جو نانگ بڻجي وڃڻ اهڙو ئي انوکو واقعو هو جهڙو مٽي ۽ پاڻي جو ڪاٺي بڻجي وڃڻ. اهو سڀ ڪجهه جيڪو اسان زمين تي ڏسي رهيا آهيون، اهو سڀ هڪ شيءِ مان ٻي شيءِ ۾ تبديل ٿي وڃڻ جو ئي ٻيو نالو آهي. گيس جو پاڻي ۾ بدلجي وڃڻ، مٽي جو وڻ ۾ تبديل ٿي وڃڻ وغيره. عام حالتن ۾ تبديلي جو اهو عمل آهستي آهستي ٿيندو آهي، ان ڪري انسان ان کي محسوس نه ٿو ڪري سگهي. حضرت موسيٰ عليه السلام جي لٺ يڪدم نانگ جي صورت اختيار ڪري ورتي، ان ڪري اُها عجيب ڳالهه لڳڻ لڳي.

حقيقت اها آهي ته هن دنيا ۾ جيڪو ڪجهه آهي يا ٿي رهيو آهي، اهو سڀ جو سڀ الله تعاليٰ جو معجزو آهي. چاهي اهو زمين مان ڪاٺي جو نڪرڻ هجي يا ڪاٺي مان نانگ بڻجي وڃڻ. پيغمبرن جي ذريعي ”غير معمولي“ معجزو رڳو ان ڪري ڏيکاريو ويندو آهي، ته جيئن ماڻهو ”معمولي“ معجزن کي ڏسڻ جي قابل بڻجي وڃي.

وَ اضْمُمْ يَدَكَ اِلٰى جَنَاحِكَ تَخْرُجْ بَيْضَآءَ مِنْ غَيْرِ سُوْٓءٍ اٰيَةً اُخْرٰى ﴿٢٢﴾ لِنُرِيَكَ مِنْ اٰيٰتِنَا الْكُبْرٰى ﴿٢٣﴾ اِذْهَبْ اِلٰى فِرْعَوْنَ اِنَّهٗ طَغٰى ﴿٢٤﴾ ع

۽ تون پنهنجو هٿ پنهنجي بغل ۾ وجهه، اهو روشن ٿي نڪرندو بنا ڪنهن عيب جي. اها ٻي نشاني آهي ته جيئن اسان پنهنجن وڏين نشانين مان ڪجهه نشانيون توکي ڏيکاريون. تون فرعون وٽ وڃ، هو حد کان لنگهي ويو آهي. ٢٢-٢٤

---

اڳين نبين جا واقعا بائيبل ۾ به آهن ۽ قرآن ۾ به. پر گهڻن ئي جاين تي قرآن ۽ بائيبل ۾ گهڻو بامعنيٰ فرق آهي. مثال طور هتي بائيبل ۾ آهي موسيٰ عليه السلام پنهنجو هٿ پنهنجي سيني تي رکي ان کي ڍڪي ڇڏيو ۽ جڏهن هن ان کي ڪڍي ڏٺو ته ان جو هٿ ڪوڙهه مان برف جهڙو اڇو هو. (خروج ٤: ٧)

بائيبل حضرت موسيٰ عليه السلام جي هٿ جي اڇاڻ کي ”ڪوڙهه“ ٻڌائي رهيو آهي. اهڙي حالت ۾ يدبيضاع جي معجزي کي بيان ڪندي ”من غير سوءِ“ جو اضافو واضح طور تي ٻڌائي رهيو آهي ته قرآن بائيبل مان ورتل نه آهي. بلڪ اهو خدا ۽ عالم الغيب طرفان آهي. جيڪو بائيبل جي تحريفن کي صحيح ڪري رهيو آهي.

حضرت موسيٰ عليه السلام کي ٻه خاص معجزه ڏنا ويا. نانگ جو معجزو پاڻ عليه السلام لاءِ ڄڻ ته طاقت جي علامت هو. يدبيضاءَ جو معجزو ان ڳالهه جي علامت هو ته پاڻ هڪ روشن صداقت تي قائم آهن.

فرعون جو حد کان لنگهي وڃڻ اهو هو ته ان کي اقتدار مليو ته ان پاڻ کي خدا سمجهي ورتو. فرعون جي لفظي معنيٰ آهي سج جو اولاد. قديم مصري قوم سج کي سڀني کان وڏو ديوتا ”رب اعليٰ“ سمجهندي هئي. ان ڪري فرعون پاڻ کي سج ديوتا جو زميني نمائندو ٻڌايو. ان پنهنجا بت ٺهرائي مصر جي سڀني شهرن ۾ رکائي ڇڏيا. جن جي باقاعده پوڄا ڪئي ويندي هئي.

اقتدار الله تعاليٰ جي هڪ نعمت آهي. ان نعمت جي ڪري ماڻهو جي اندر شڪر جو جذبو پيدا ٿيڻ گهرجي. پر سرڪش انسان اقتدار کي حاصل ڪري خود کي خدا سمجهي وٺندو آهي.

قَالَ رَبِّ اشْرَحْ لِيْ صَدْرِيْ ﴿٢٥﴾ وَيَسِّرْ لِيْۤ اَمْرِيْ ﴿٢٦﴾ وَاحْلُلْ عُقْدَةً مِّنْ لِّسَانِيْ ﴿٢٧﴾ يَفْقَهُوْا
قَوْلِيْ ﴿٢٨﴾ وَاجْعَلْ لِّيْ وَزِيْرًا مِّنْ اَهْلِيْ ﴿٢٩﴾ هٰرُوْنَ اَخِي ﴿٣٠﴾ اشْدُدْ بِهٖۤ اَزْرِيْ ﴿٣١﴾ وَاَشْرِكْهُ فِيْۤ
اَمْرِيْ ﴿٣٢﴾ كَيْ نُسَبِّحَكَ كَثِيْرًا ﴿٣٣﴾ وَّنَذْكُرَكَ كَثِيْرًا ﴿٣٤﴾ اِنَّكَ كُنْتَ بِنَا بَصِيْرًا ﴿٣٥﴾ قَالَ قَدْ
اُوْتِيْتَ سُؤْلَكَ يٰمُوْسٰى ﴿٣٦﴾

موسيٰ چيو ته اي منهنجا رب منهنجو سينو منهنجي لاءِ کولي ڇڏ ۽ منهنجي ڪم کي منهنجي لاءِ آسان ڪري ڇڏ. ۽ منهنجي زبان جي ڳنڍ کولي ڇڏ ته جيئن ماڻهو منهنجي ڳالهه سمجهن ۽ منهنجي گهروارن مان منهنجي لاءِ هڪ مددگار مقرر ڪري ڇڏ. هارون کي جيڪو منهنجو ڀاءُ آهي ان ذريعي منهنجي سگهه مضبوط ڪر ۽ ان کي منهنجي ڪم ۾ شريڪ ڪر. ته جيئن اسان ٻئي ڪثرت سان تنهنجي پاڪائي بيان ڪريون ۽ ڪثرت سان تنهنجو ذڪر ڪريون. بيشڪ تون اسان کي ڏسي رهيو آهين. فرمايائين اي موسيٰ تنهنجو سوال قبول ڪيو ويو. ٢٥-٣٦

---

پيغمبري ملڻ کان پوءِ هڪ صورت اها هئي ته حضرت موسيٰ جي اندر فخر جو احساس پيدا ٿئي. پر ان وقت انهن جيڪو ڪجهه الله کان گهريو. ان مان ظاهر ٿيندو آهي ته انهن پيغمبري کي فخر جي شيءِ نه سمجهيو. بلڪ ذميداري جي شيءِ سمجهيو. ان وقت انهن جيڪي لفظ چيا اهي سڀ اُهي آهن جيڪي دعوت جي نازڪ ذميداري جو احساس ڪرڻ واري جي زبان مان نڪرندا آهن.

داعي جي لاءِ سينو کلڻ اهو آهي ته موقعي جي مناسبت سان ان جي اندر مؤثر مضمون ايندا رهن. معاملي جو آسان ٿيڻ اهو آهي ته مخالف ڪڏهن به دعوت جو رستو بند ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿي

سگهي، زبان جي ڳنڍ کلڻ اهو آهي تہ وڏن وڏن اجتماعن ۾ بغير ڪنهن هٻڪ جي دعوت پيش ڪرڻ جي قوت پيدا ٿي وڃي. الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عليہ السلام کي پيغمبراڻي ذميداري ادا ڪرڻ لاءِ اهو سڀ ڪجهہ ڏنو، ان سان گڏ سندس درخواست مطابق سندس ڀاءُ کي ان لاءِ هڪ طاقتور مددگار بڻائي ڇڏيو.

مدد جو اهو خاص معاملو جيڪو پيغمبر سان ڪيو ويو، اهوئي غير پيغمبر داعي لاءِ بہ ٿي سگهي ٿو، بشرطيڪ جو هو دعوت جي ڪم سان پنهنجي پاڻ کي اهڙي طرح ڪامل طورتي وابستہ ڪري، جهڙي طرح پيغمبر پنهنجي پاڻ کي ڪامل طور تي وابستہ ڪيو هو.

”تسبيح ۽ ذڪر“ ئي دين جو اصل مقصد آهي. پر تسبيح ۽ ذڪر مان مراد ڪنهن قسم جو لفظي ورد نہ آهي، ان مان مراد اها ڪيفيت جيڪا حق جي ملڻ کان پوءِ بلڪل قدرتي طورتي پيدا ٿيندي آهي. ان وقت انسان جو وجود الله جي ڪمال صفتن جو اهڙي طرح تجربو ڪندو آهي جو هو ان سان ڀرجي ويندو آهي. هو خدائي احساس سان اهڙي طرح سرشار هوندو آهي جو هو ان جو مبلغ بڻجي ويندو آهي.

وَ لَقَدْ مَنَنَّا عَلَيْكَ مَرَّةً اُخْرٰۤى ﴿۳۷﴾ اِذْ اَوْحَيْنَاۤ اِلٰۤى اُمِّكَ مَا يُوْحٰۤى ﴿۳۸﴾ اَنِ اقْذِفِيْهِ فِي التَّابُوْتِ فَاقْذِفِيْهِ فِي الْيَمِّ فَلْيُلْقِهِ الْيَمُّ بِالسَّاحِلِ يَاْخُذْهُ عَدُوٌّ لِّيْ وَ عَدُوٌّ لَّهٗ ؕ وَ اَلْقَيْتُ عَلَيْكَ مَحَبَّةً مِّنِّيْ ۚ۬ وَ لِتُصْنَعَ عَلٰى عَيْنِيْ ﴿۳۹﴾ اِذْ تَمْشِيْۤ اُخْتُكَ فَتَقُوْلُ هَلْ اَدُلُّكُمْ عَلٰى مَنْ يَّكْفُلُهٗ ؕ فَرَجَعْنٰكَ اِلٰۤى اُمِّكَ كَيْ تَقَرَّ عَيْنُهَا وَ لَا تَحْزَنَ ؕ۬ وَ قَتَلْتَ نَفْسًا فَنَجَّيْنٰكَ مِنَ الْغَمِّ وَ فَتَنّٰكَ فُتُوْنًا ۫ فَلَبِثْتَ سِنِيْنَ فِيْۤ اَهْلِ مَدْيَنَ ۙ۬ ثُمَّ جِئْتَ عَلٰى قَدَرٍ يّٰمُوْسٰى ﴿۴۰﴾

۽ اسان توتي هڪ ڀيرو (ٻيو بہ) احسان ڪيوسون. جڏهن اسان تنهنجي ماءُ ڏانهن وحي ڪيو جيڪو وحي ڪرڻو هو تہ ان کي صندوق ۾ رکـ پوءِ ان کي دريا ۾ وجهي ڇڏ پوءِ دريا ان کي ڪپ تي آڻيندو، هن کي هڪ ماڻهو کڻي ويندو جيڪو منهنجو بہ دشمن آهي ۽ ان جو بہ دشمن آهي ۽ مون پنهنجي طرفان توتي هڪ محبت وجهي ڇڏي ۽ تہ جيئن تون منهنجي نگراني ۾ پلجين. جڏهن تنهنجي ڀيڻ هلندي آئي پوءِ هو چوڻ لڳي ڇا آئون توهان ماڻهن کي ان جو ڏس ڏيان جيڪو هن ٻار کي چڱي طرح نپائي، پوءِ اسان توکي تنهنجي ماءُ ڏانهن موٽائي ڇڏيو، تہ جيئن ان جون اکيون ٺڏيون ٿين ۽ ان کي ڪو ڏک نہ رهي ۽ تون هڪ ماڻهو کي قتل ڪري ڇڏيو. پوءِ اسان توکي ان غم مان نجات ڏني ۽ اسان توکي خوب پرکيوسون، پوءِ تون ڪيترائي سال مدين وارن ۾ رهين، پوءِ تون تقدير جي موافق هت آئين اي موسيٰ. ۳۷-۴۰

---

مصر جا اصل رهاڪو قبطي هئا، جن جو سياسي ۽ مذهبي نمائندو فرعون هو. اتي جي ٻي قوم بني اسرائيل هئي، جيڪا حضرت يوسف عليہ السلام جي زماني ۾ ٻاهران اچي هتي آباد ٿي هئي. حضرت موسيٰ عليہ السلام جنهن زماني ۾ بني اسرائيل جي هڪ گهر ۾ پيدا ٿيا، ان زماني ۾ فرعون بني اسرائيل جي نسل ختم ڪرڻ لاءِ اهو حڪم ڏئي ڇڏيو هو تہ بني اسرائيل جي گهرن ۾ جيترا بہ ٻار پيدا ٿين تن سڀني کي قتل ڪيو وڃي. حضرت موسيٰ جي ماءُ ٻار کي قتل کان بچائڻ لاءِ خدا جي الهام تحت ايئن ڪيو جو

ان کي ٽوڪري ۾ رکي دريا نيل ۾ وجهي ڇڏيو.

اها ٽوڪري دريا ۾ ترندي فرعون جي محل وٽ پهتي اتي فرعون ۽ ان جي زال ان کي ڏٺو ته انهن کي ننڍي ٻار تي رحم اچي ويو. انهن ان کي ڪڍي محل ۾ آندو، ان کان پوءِ حضرت موسيٰ جي پيٽ جي ٻڌائڻ تي پاڻؑ جي ماءُ پاڻؑ کي کير پيارڻ لاءِ مقرر ڪئي وئي. اهو الله جو هڪ معجزو آهي ته جنهن فرعون کي موسيٰؑ جو سيني کان وڏو دشمن ٿيڻو هو، ان ئي فرعون جي ذريعي حضرت موسيٰؑ جي پرورش ۽ تربيت ڪرائي وئي.

حضرت موسيٰؑ وڏا ٿيا ته هڪ قبطي ۽ اسرائيلي جي جهيڙي ۾ انهن قبطي کي تنبيهه ڪئي. اتفاق سان اهو قبطي مري ويو، ان کان پوءِ حڪومت طرفان حڪم جاري ٿيو ته موسيٰؑ کي گرفتار ڪيو وڃي، پر حضرت موسيٰؑ لڪي مصر مان نڪري مدين پهچي ويا. اتي جي رڻ جي ماحول ۾ هو زندگي جي وڏيڪ تجربن مان گذريا. قبطي جي هلاڪت کان پوءِ حضرت موسيٰؑ الله تعاليٰ کان غير معمولي دعائون گهريون، ان جو نتيجو اهو ٿيو جو الله تعاليٰ ان حادثي کي سندس وڏيڪ تربيت ۽ تعليم جو ذريعو بڻائي ڇڏيو.

وَ اصْطَنَعْتُكَ لِنَفْسِيْ ﴿٤١﴾ اِذْهَبْ اَنْتَ وَ اَخُوْكَ بِاٰيٰتِيْ وَ لَا تَنِيَا فِيْ ذِكْرِيْ ﴿٤٢﴾ اِذْهَبَاۤ اِلٰى فِرْعَوْنَ اِنَّهٗ طَغٰى ﴿٤٣﴾ فَقُوْلَا لَهٗ قَوْلًا لَّيِّنًا لَّعَلَّهٗ يَتَذَكَّرُ اَوْ يَخْشٰى ﴿٤٤﴾

۽ مون توکي پنهنجي لاءِ منتخب ڪيو. تون ۽ تنهنجو ڀاءُ منهنجي نشانين سان وڃو ۽ توهان ٻئي منهنجي ياد ۾ سستي نه ڪجو. توهان ٻئي فرعون وٽ وڃو جو هو سرڪش ٿي ويو آهي، پوءِ ان سان نرمي سان ڳالهه ڪجو. شايد هو نصيحت قبول ڪري يا ڊڄي. ٤١-٤٤

---

مختلف تجربن مان گذري حضرت موسيٰؑ جڏهن شعور جي تڪميل جي آخري مرحلي ۾ پهچي ويو ته الله تعاليٰ ان کي پيغمبراڻي دعوت جي ذميداري ڏئي ڇڏي. ان وقت حضرت موسيٰؑ کي ٻه خاص نصيحتون ڪيون ويون، هڪ الله جو ذڪر ۾ ڪمي ڪجانءِ پيو دعوت ۾ نرم انداز اختيار ڪجانءِ.

الله جي ذڪر مان مراد اها آهي ته ماڻهو جي دل ۽ دماغ ۾ الله جو يقين اهڙي طرح شامل ٿي ويو هجي جو هو هر هر ان کي ياد ايندو رهي. ماڻهو جو هر مشاهدو ۽ ان جي زندگي جو هر واقعو ان جي خدائي شعور سان جڙي ان کي جڳائڻ وارو بڻجي وڃي. عام انسان مادي غذائن تي جيئندا آهن، حق جو داعي الله جي ياد ۾ جيئندو آهي. الله تعاليٰ جي ياد مؤمن جو سرمايو آهي ۽ اهڙي ئي طرح داعي جو ٻه.

ٻي ضروري شيءِ دعوت ۾ نرمي وارو انداز اختيار ڪرڻ آهي، فرعون جهڙي سرڪش انسان جي سامهون اها هدايت ڪرڻ ثابت ڪري ٿو ته دعوت لاءِ نرم ۽ حڪيماڻو انداز قطعي طور تي گهربل آهي. مدعو طرفان ڪابه سختي يا سرڪشي داعي کي اهو حق نٿي ڏي جو هو پنهنجي دعوت ۾ نرمي ۽ شفقت جو انداز ڇڏي ڏي.

قَالَا رَبَّنَاۤ اِنَّنَا نَخَافُ اَنْ يَّفْرُطَ عَلَيْنَاۤ اَوْ اَنْ يَّطْغٰى ﴿٤٥﴾ قَالَ لَا تَخَافَاۤ اِنَّنِيْ مَعَكُمَاۤ اَسْمَعُ وَ اَرٰى ﴿٤٦﴾ فَاْتِيٰهُ فَقُوْلَاۤ اِنَّا رَسُوْلَا رَبِّكَ فَاَرْسِلْ مَعَنَا بَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ ۙ۬ وَ لَا تُعَذِّبْهُمْ ؕ

قَدْ جِئْنٰكَ بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّكَ ؕ وَ السَّلٰمُ عَلٰى مَنِ اتَّبَعَ الْهُدٰى ﴿٤٧﴾ اِنَّا قَدْ اُوْحِيَ اِلَيْنَآ اَنَّ
الْعَذَابَ عَلٰى مَنْ كَذَّبَ وَ تَوَلّٰى ﴿٤٨﴾

پنهنجي چيو ته اي اسان جا رب! اسان کي انديشو آهي ته هو اسان تي زيادتي ڪري يا سرڪشي ڪرڻ لڳي. چيائين ته توهان انديشو نه ڪريو. آئون توهان پنهنجي سان گڏ آهيان ۽ ٻڌي رهيو آهيان ۽ ڏسي رهيو آهيان. تنهن ڪري توهان ان وٽ وڃو ۽ چئو ته اسان ٻئي تنهنجي رب جا موڪليل آهيون. تنهن ڪري تون بني اسرائيل کي اسان سان وڃڻ ڏي ۽ انهن کي نه ستاءِ. اسان تنهنجي رب وٽان هڪ نشاني سان آيا آهيون ۽ سلامتي ان ماڻهو جي لاءِ آهي جيڪو هدايت جي پيروي ڪري، اسان تي اهو وحي ڪيو ويو آهي ته ان شخص تي عذاب ٿيندو جيڪو ڪوڙ ڀائيندو ۽ منهن موڙيندو. ٤٥-٤٨

---

فرعون وڏي تڪبر وارو هو. اقتدار حاصل ڪري هو پنهنجي پاڻ کي خدا سمجهڻ لڳو هو. ان ڪري حضرت موسيٰ عليه السلام کي انديشو ٿيو ته جڏهن هو ڏسندو ته ان کان سواءِ ڪنهن ٻئي خدا جو پيغام ان کي ٻڌايو پيو وڃي ته هو ڪاوڙ ۾ اچي ويندو. پر خدا جو پيغمبر مڪمل طور تي خدا جي حفاظت ۾ هوندو آهي. ان ڪري حڪم ٿيو ته توهان وڃو ۽ اهو يقين رکو ته فرعون پنهنجي سڄي طاقت ۽ جبر جي باوجود توهان کي ڪو نقصان نه ٿو پهچائي سگهي.

بني اسرائيل قديم زماني جا مسلمان هئا. اها اصل ۾ هڪ موحد قوم هئي، پر مصر جي مشرڪ قوم سان گڏ رهندي رهندي اُهي مشرڪاڻي تهذيب کان گهڻو متاثر ٿي ويا هئا. وڌيڪ اهو ته مشرڪ حڪمرانن بني اسرائيل کي اهڙي طرح محنت ۽ مزدوري ۾ لڳائي رکيو هو جو هو ان قابل نه رهيا هئا جو هو توحيد ۽ آخرت جي اعليٰ حقيقتن جي باري ۾ سوچي سگهن. ان ڪري حضرت موسيٰ عليه السلام کي حڪم ٿيو ته بني اسرائيل کي مشرڪاڻي ماحول مان ڪڍي ۽ ڪنهن الڳ جاءِ تي آباد ڪيو وڃي، ته جيئن شرڪ ۽ جاهليت جي فضا کان ڪٽجي سندن تربيت ممڪن ٿي سگهي.

قَالَ فَمَنْ رَّبُّكُمَا يٰمُوْسٰى ﴿٤٩﴾ قَالَ رَبُّنَا الَّذِيْٓ اَعْطٰى كُلَّ شَيْءٍ خَلْقَهٗ ثُمَّ هَدٰى ﴿٥٠﴾ قَالَ فَمَا
بَالُ الْقُرُوْنِ الْاُوْلٰى ﴿٥١﴾ قَالَ عِلْمُهَا عِنْدَ رَبِّيْ فِيْ كِتٰبٍ ۚ لَا يَضِلُّ رَبِّيْ وَ لَا يَنْسَى ﴿٥٢﴾

فرعون چيو پوءِ توهان ٻنهي جو رب ڪير آهي. اي موسيٰ! موسيٰ چيو اسان جو رب اهو آهي جنهن هر شيءِ کي صورت عطا ڪئي. پوءِ هدايت ڪيائين. فرعون چيو پوءِ اڳين قومن جو ڪهڙو حال آهي. موسيٰ چيو ان جو علم منهنجي رب وٽ هڪ ڪتاب ۾ آهي. منهنجو رب نه غلطي ڪندو آهي نه وري وساري ٿو. ٤٩-٥٢

---

”توهان جو رب ڪير آهي“ فرعون جو اهو جملو ان معنيٰ ۾ نه هو جو هو پاڻ کان سواءِ ڪنهن خدا کان بيخبر هو يا ڪنهن ٻين خدا جو قائل ئي نه هو. ان جو اهو جملو اصل ۾ موسيٰ عليه السلام جي ڳالهه کي بيعزت ڪرڻ لاءِ هو نه وري ان جو صاف انڪار ڪرڻ لاءِ.

مصر ۾ حضرت يوسف عليه السلام توحيد جي تبليغ ڪئي هئي ۽ ان وقت به بني اسرائيل لکن جي تعداد ۾ اتي موجود هئا، جيڪي هڪ الله جو عقيدو رکندا هئا. اهڙي طرح مصر ۾ جيتوڻيڪ مٿانهين خدا جو عقيدو موجود هو، پر عملي طورتي اتي سڄو زور ۽ شان شوڪت صرف فرعون لاءِ هو. هو

مصرين جي عقيدي مطابق سندن سيني ڪان وڏي ديوتا سج جو زميني عڪس هو. هو مصر جو اوتار بادشاهه (God-King) هو ۽ ان جا بت سڄي مصر ۾ پوڄا جي شيءِ بڻيل هئا. ان جي مقابلي ۾ موسيٰ عليه السلام بني اسرائيل جو هڪ فرد هو، جيڪا مصر ۾ غلامن ۽ مزدورن جي هڪ قوم سمجهي ويندي هئي ۽ ان ڪري سندن مذهبي عقيدو به مصر ۾ هڪ ناقابل ذڪر عقيدي جي حيثيت اختيار ڪري چڪو هو.

دنيا ۾ بي شمار شيون آهن، پر هر شيءِ جي هڪ منفرد بناوت آهي ۽ هر شيءِ جو هڪ مقرر عمل جو طريقو آهي. نه ان بناوٽ ۾ ڪا تبديلي ممڪن آهي نه ان عمل جي طريقي ۾. ان ڪان خود فرعون جهڙو سرڪش بادشاهه به آجو نه آهي اهو واقعو واضح طور تي هڪ مٿانهين خالق جو وجود ثابت ڪري ٿو.

حضرت موسيٰ عليه السلام اها ڳالهه چئي ته فرعون محسوس ڪيو ته ان وٽ ان ڳالهه جو ڪو سڌو جواب نه آهي، پوءِ ان ڳالهه کي ڦيرائي ڇڏيو. دليل جي ميدان ۾ پاڻ کي ڪمزور ڏسي هُن چاهيو ته تعصب جي جذبي کي ڀڙڪائي ماڻهن ۾ پنهنجي برتري قائم رکي، تنهن ڪري ان چيو جيڪڏهن تنهنجي ڳالهه صحيح آهي ته اسان جي اڳين وڏن جو انجام ڇا ٿيو. جيڪي تنهنجي نظريي مطابق گمراهه حالت ۾ مري ويا. حضرت موسيٰ عليه السلام ان جي جواب ۾ اعراض جو طريقو اختيار ڪيو. ان چيو ته گذريل ماڻهن کي خدا جي حوالي ڪريو ۽ هينئر پنهنجي باري ۾ غور ڪريو.

الَّذِیۡ جَعَلَ لَکُمُ الۡاَرۡضَ مَهۡدًا وَّ سَلَكَ لَکُمۡ فِیۡهَا سُبُلًا وَّ اَنۡزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً ؕ
فَاَخۡرَجۡنَا بِهٖۤ اَزۡوَاجًا مِّنۡ نَّبَاتٍ شَتّٰی ﴿۵۳﴾ کُلُوۡا وَ ارۡعَوۡا اَنۡعَامَکُمۡ ؕ اِنَّ فِیۡ ذٰلِكَ لَاٰیٰتٍ
ع ١١ لِّاُولِی النُّهٰی ﴿٥٤﴾ مِنۡهَا خَلَقۡنٰکُمۡ وَ فِیۡهَا نُعِیۡدُکُمۡ وَ مِنۡهَا نُخۡرِجُکُمۡ تَارَةً اُخۡرٰی ﴿۵۵﴾

اهوئي آهي جنهن توهان لاءِ زمين کي فرش بڻايو ۽ ان ۾ توهان لاءِ رستا ڪڍيا ۽ آسمان مان پاڻي وسايو. پوءِ اسان ان ذريعي مختلف قسمن جا اوپڙ (نباتات) پيدا ڪيا. کائو ۽ پنهنجي ڍورن کي به چاريو. ان ۾ عقل وارن لاءِ نشانيون آهن. ان ئي مان اسان توهان کي پيدا ڪيو آهي ۽ ان ئي ۾ توهان کي موٽائينداسون ۽ ان ئي مان اسان توهان کي ٻيهر ڪڍنداسون. ٥٣-٥٥

---

زمين جي پيدائش، مينهن جو نظام ۽ نباتات يعني وڻن ٽڻن جو پيدا ٿيڻ ۽ ٻيا انتظام جن موجوده دنيا کي زنده شين لاءِ رهائش جي قابل بڻايو آهي، اُهي حيرت انگيز حدثائين عظيم آهن.

اها هڪ ”نشاني“ آهي جيڪا ثابت ڪري ٿي ته هن دنيا جو خالق ۽ مالڪ هڪ عظيم الله آهي. موجوده دنيا جهڙي دنيا کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ ايتري وڏي قدرت درڪار آهي، جيڪا نه ڪنهن ”سج“ کي حاصل آهي ۽ نه ڪنهن ”بادشاهه“ کي. اهڙي حالت ۾ اهو مڃڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه آهي جو ان کي بنائڻ وارو ۽ هلائڻ وارو هڪ مٿانهون خدا آهي.

پوءِ ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته هي دنيا ڪنهن مقصد کان سواءِ نه ٺهي آهي، جيڪا ايئن ئي پيدا ٿي وڃي ۽ ايئن ئي ختم به ٿي وڃي. بامقصد دنيا لازمي طورتي هڪ بامعنيٰ انجام چاهي ٿي، اهڙي طرح دنيا جو مشاهدو هڪ ئي وقت توحيد کي به ثابت ڪري رهيو آهي ۽ آخرت کي به.

وَ لَقَدْ اَرَيْنٰهُ اٰيٰتِنَا كُلَّهَا فَكَذَّبَ وَ اَبٰى ﴿٥٦﴾ قَالَ اَجِئْتَنَا لِتُخْرِجَنَا مِنْ اَرْضِنَا بِسِحْرِكَ
يٰمُوْسٰى ﴿٥٧﴾ فَلَنَاْتِيَنَّكَ بِسِحْرٍ مِّثْلِهٖ فَاجْعَلْ بَيْنَنَا وَ بَيْنَكَ مَوْعِدًا لَّا نُخْلِفُهٗ نَحْنُ وَ لَآ
اَنْتَ مَكَانًا سُوًى ﴿٥٨﴾

۽ اسان فرعون کي پنهنجون سڀ نشانيون ڏيکاريون ته ان ڪوڙو ڄاتو ۽ انڪار ڪيو. ان چيو ته اي موسيٰ! ڇا تون ان ڪري اسان وٽ آيو آهين جو پنهنجي جادو سان اسان کي اسان جي ملڪ مان ڪڍين. ته اسان به تنهنجي مقابلي ۾ اهڙو ئي جادو آڻينداسون. تنهن ڪري تون اسان جي ۽ پنهنجي وچ ۾ هڪ واعدو طي ڪري وٺ. نه اسان ان جي خلاف ڪريون ۽ نه تون. اهو مقابلو هڪ کليل ميدان ۾ هجي. ٥٦-٥٨

---

حضرت موسيٰ عليه السلام جي دعوت فرعون تي گهڻي وقت تائين جاري رهي. ان وچ ۾ پاڻ عليه السلام ان جي سامهون عقلي دليل به پيش ڪيا ۽ معجزا به ڏيکاريا. پر ان موسيٰ عليه السلام تي ايمان نه آندو. حضرت موسيٰ عليه السلام جي سچائي جو اقرار فرعون لاءِ پنهنجي نفي ڪرڻ جي برابر هجي ها ۽ فرعون جي تڪبر واري نفسيات ان ۾ رڪاوٽ بڻجي وئي جو هو پنهنجي نفي جي قيمت تي سچائي جو اقرار ڪري.

حضرت موسيٰ عليه السلام جي عقلي دليلن کي فرعون اجاين ڳالهين ذريعي بي اثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پاڻ عليه السلام جي معجزن لاءِ ان چيو ته هي جادو آهي، يعني هڪ اهڙي شيءِ آهي جنهن جو خدا سان ڪو تعلق نه آهي ۽ هر ماڻهو مهارت پيدا ڪري اهڙي قسم جا ڪرشما ڏيکاري سگهي ٿو. پنهنجي ان بي حيائي کي نباهڻ لاءِ ان کي وڏيڪ اهو ڪرڻو پيو جو ان چيو ته اسان به پنهنجي جادوگرن ذريعي اهڙو ئي ڪرشمو ڏيکاري سگهون ٿا. جهڙو ڪرشمو تو اسان کي ڏيکاريو آهي. گفتگو ڪان پوءِ اهو طي ٿيو ته اچڻ واري قومي ميلي جي ڏينهن ملڪ جي جادوگرن کي جمع ڪيو وڃي ۽ سڀني جي سامهون موسيٰ عليه السلام ۽ جادوگرن جي وچ ۾ مقابلو ٿئي.

قَالَ مَوْعِدُكُمْ يَوْمُ الزِّيْنَةِ وَ اَنْ يُّحْشَرَ النَّاسُ ضُحًى ﴿٥٩﴾ فَتَوَلّٰى فِرْعَوْنُ فَجَمَعَ كَيْدَهٗ
ثُمَّ اَتٰى ﴿٦٠﴾ قَالَ لَهُمْ مُّوْسٰى وَيْلَكُمْ لَا تَفْتَرُوْا عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا فَيُسْحِتَكُمْ بِعَذَابٍ ۚ وَ قَدْ
خَابَ مَنِ افْتَرٰى ﴿٦١﴾

موسيٰ چيو توهان لاءِ واعدي جو ڏينهن ميلي وارو ڏينهن آهي ۽ ماڻهو ڏينهن چڙهي تائين گڏ ڪيا وڃن. پوءِ فرعون موٽيو پوءِ پنهنجا ڦند جمع ڪيا. ان ڪان پوءِ هو مقابلي تي آيو. موسيٰ چيو توهان جو برو ٿئي الله تي ڪوڙ نه ٻڌو جو هو توهان کي ڪنهن آفت سان غارت ڪري ڇڏي ۽ جنهن الله تي ڪوڙ ٻڌو اهو ناڪام رهيو. ٥٩-٦١

---

فرعون سڄي ملڪ ۾ ماڻهو موڪلي سڀني ماهر جادوگرن کي سڏيو. جڏهن اهي ماڻهو ميلي جي ميدان ۾ جمع ٿيا ته مقابلي کان پهرين حضرت موسيٰ عليه السلام هڪ تقرير ڪئي. اها تقرير ماڻهن لاءِ ڪا نئين شيءِ نه هئي، بلڪ اها هڪ قسم جي يادگيري ڏيارڻ هئي. ان ڪان پهرين حضرت موسيٰ جي

دعوت ذريعي جادوگر ۽ ٻيا ماڻهو يقيناً ان ڳالهه کان آگاهه ٿي چڪا هئا ته موسيٰ جو پيغام ڇا آهي،
اُهي ڄاڻندا هئا ته موسيٰ شرڪ جي مقابلي ۾ توحيد جي دعوت کڻي آيو آهي.

اهڙي ريت حضرت موسيٰ عليه السلام حجت پوري ڪرڻ لاءِ آخري ڀيرو نصيحت ڪي ورجايو. حضرت موسيٰ فرعون ۽ جادوگرن کي چيو ته هن معاملي کي توهان جادو جو معاملو نه سمجهو. الله جي نشاني کي جادو چوڻ ۽ انساني جادو ذريعي ان کي شڪست ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ بيحد ڳري ڳالهه آهي، اِهو هڪ حقيقت جو مقابلو هڪ بي حقيقت شيءِ سان ڪرڻ آهي. جنهن جو يقيني نتيجو هلاڪت آهي، توهان بظاهر مون کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ چاهيو ٿا، پر اها خود الله کي نعوذبالله ڪوڙو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ آهي، جيڪي ماڻهو اهڙي قسم جي سرڪشي ڪن، اهي الله تعاليٰ جي دنيا ۾ ڪڏهن به ڪامياب نه ٿا ٿي سگهن.

فَتَنَازَعُوْٓا اَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ وَ اَسَرُّوا النَّجْوٰى ﴿٦٢﴾ قَالُوْٓا اِنْ هٰذٰنِ لَسٰحِرٰنِ يُرِيْدٰنِ اَنْ
يُّخْرِجٰكُمْ مِّنْ اَرْضِكُمْ بِسِحْرِهِمَا وَ يَذْهَبَا بِطَرِيْقَتِكُمُ الْمُثْلٰى ﴿٦٣﴾ فَاَجْمِعُوْا كَيْدَكُمْ
ثُمَّ ائْتُوْا صَفًّا ۚ وَ قَدْ اَفْلَحَ الْيَوْمَ مَنِ اسْتَعْلٰى ﴿٦٤﴾

پوءِ انهن پنهنجي معاملي ۾ اختلاف ڪيو ۽ انهن پاڻ ۾ ڳجهيون صلاحون ڪيون. انهن چيو هي ٻئي بيشڪ جادوگر آهن. اهي چاهين ٿا ته پنهنجي جادو جي زور تي توهان کي توهان جي ملڪ مان ڪڍي ڇڏين ۽ توهان جي چڱي طريقي کي ختم ڪن، تنهن ڪري توهان پنهنجون تدبيرون جمع ڪريو. پوءِ صفون ٻڌي اچو ۽ اهوئي ڪٽي ويو جيڪو اڄ غالب رهيو. ٦٢-٦٤

---

حضرت موسيٰ عليه السلام جي ابتدائي تقرير مان جادوگرن جي جماعت ۾ اختلاف پيدا ٿيو، سندن هڪ ٽولي چيو ته اهو جادوگرن جو ڪلام نه آهي، بلڪ هي نبي جو ڪلام آهي، ٻين ماڻهن چيو ته نه، اهو شخص اسان وانگر هڪ جادوگر آهي. (تفسير ابن ڪثير)

جادوگر يقيني طور تي پنهنجن هم جنسن کي سڃاڻيندا هئا. سندن تجربيڪار ماڻهن محسوس ڪري ورتو ته اهو جادو جو معاملو نه آهي، بلڪ معجزي جو معاملو آهي، تنهن ڪري هو مقابلي جي همت وڃائي وينا. پر فرعون ۽ ان جي پرجوش ساٿين جي چوڻ تي هو مقابلي لاءِ راضي ٿي ويا.

”طريقهٔ مثليٰ“ جو مطلب افضل طريقو آهي، ان وقت مصرين جي زندگي جو پورو ڍانچو مشرڪاڻن عقيدن تي قائم هو، سيني کان وڏي ديوتا (سج) جي جسماني عڪس جي حيثيت سان فرعون جي شخصيت انهن جي سياسي ۽ سماجي نظام جو بنياد بڻيل هئي، فرعون تعصب جي جذبن کي ڀڙڪائي چيو ته اهو نظام اسان جو قومي نظام آهي، هاڻي جيڪڏهن توحيد جي علمبردارن جي جيت ٿي وئي ته اسان جو سڄو قومي نظام تباهه ٿي ويندو.

قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِمَّآ اَنْ تُلْقِيَ وَ اِمَّآ اَنْ نَّكُوْنَ اَوَّلَ مَنْ اَلْقٰى ﴿٦٥﴾ قَالَ بَلْ اَلْقُوْا ۚ فَاِذَا
حِبَالُهُمْ وَ عِصِيُّهُمْ يُخَيَّلُ اِلَيْهِ مِنْ سِحْرِهِمْ اَنَّهَا تَسْعٰى ﴿٦٦﴾ فَاَوْجَسَ فِيْ نَفْسِهٖ خِيْفَةً

مُّوْسٰى ﴿٦٧﴾ قُلْنَا لَا تَخَفْ اِنَّكَ اَنْتَ الْاَعْلٰى ﴿٦٨﴾ وَ اَلْقِ مَا فِيْ يَمِيْنِكَ تَلْقَفْ مَا صَنَعُوْا ؕ اِنَّمَا
صَنَعُوْا كَيْدُ سٰحِرٍ ؕ وَ لَا يُفْلِحُ السَّاحِرُ حَيْثُ اَتٰى ﴿٦٩﴾ فَاُلْقِيَ السَّحَرَةُ سُجَّدًا قَالُوْٓا اٰمَنَّا
بِرَبِّ هٰرُوْنَ وَ مُوْسٰى ﴿٧٠﴾

انهن چيو تہ اي موسيٰ يا تہ تون اڇلاءِ يا اسان پهرين اڇلائڻ وارا ٿيون. موسيٰ چيو تہ توهان ئي پهرين اڇلايو تہ پوءِ اوچتو سندن رسيون ۽ سندن لٺيون سندن جادو جي زور سبب ان کي اهڙي طرح ڏسڻ ۾ پئي آيون ڄڻ تہ اهي ڊوڙي رهيون آهن. تنهن تي موسيٰ پنهنجي دل ۾ڪجھ ڊپ ڪيو اسان چيو تہ تون نہ ڊڄ. تون ئي غالب رهندين ۽ جيڪو تنهنجي سڄي هٿ ۾ آهي سو اڇلائي. اُهو انهن کي ڳهي ويندو جيڪو انهن ٺاهيو آهي. اهو جيڪو ڪجھ انهن ٺاهيو آهي. هي جادوگرن جو فريب آهي ۽ جادوگر ڪڏهن ڪامياب نہ ٿو ٿئي. چاهي هو ڪيئن بہ اچي. پوءِ جادوگر سجدي ۾ ڪري پيا. انهن چيو تہ اسان هارون ۽ موسيٰ جي رب تي ايمان آندو. ٦٥-٧٠

---

مقابلو اهڙي طرح شروع ٿيو جو جادوگرن پهرين پنهنجون رسيون ۽ لٺيون ميدان ۾ اڇلايون تہ سندن رسيون ۽ لٺيون نانگ بڻجي هلندي ڏسڻ ۾ آيون. جيئن تہ اهو رڳو نظربندي جو معاملو هو. يعني رسيون ۽ لٺيون حقيقت ۾ نانگ نہ بڻجي ويون هيون بلڪ جادوگرن نظربندي جي عمل سان ماڻهن جي خيال جي قوت کي اهڙي طرح متاثر ڪيو جو انهن کي وقتي طور تي ڏسڻ ۾ آيو تہ رسيون ۽ لٺيون نانگ وانگر ميدان ۾ هلي رهيون آهن.

ان وقت اللّٰه تعاليٰ جي حڪم سان حضرت موسيٰ عليہ السلام پنهنجي لٺ ميدان ۾ اڇلائي سندس لٺ يڪدم تمام وڏو نانگ بڻجي ميدان ۾ ڊوڙڻ لڳي، ان جادوگرن جي نظربندي جي طلسم کي ڳهي ورتو. اهي شيون جيڪي نانگن جي شڪل ۾ هلنديون پئي ڏسڻ ۾ آيون، اهي ان جي ڇهندي ئي رڳو رسيون ۽ لٺيون بڻجي رهجي ويون.

جادوگر حضرت موسيٰ عليہ السلام جو ڪلام ٻڌي اڳ ۾ ئي متاثر ٿي ويا هئا. هاڻي جڏهن عملي مظاهرو ٿيو تہ انهن حضرت موسيٰ عليہ السلام جي صداقت کي پنهنجي کليل اکين سان ڏسي ورتو. انهن يقين ڪري ورتو تہ موسيٰ عليہ السلام وٽ جيڪا شيءِ آهي اِهو ڪو انساني جادو نہ آهي، بلڪ اهو خدائي معجزو آهي. اهو يقين ايترو گهرو هو جو انهن ان ئي وقت حضرت موسيٰ عليہ السلام جي دين کي اختيار ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو.

قَالَ اٰمَنْتُمْ لَهٗ قَبْلَ اَنْ اٰذَنَ لَكُمْ ؕ اِنَّهٗ لَكَبِيْرُكُمُ الَّذِيْ عَلَّمَكُمُ السِّحْرَ ۚ فَلَاُقَطِّعَنَّ
اَيْدِيَكُمْ وَ اَرْجُلَكُمْ مِّنْ خِلَافٍ وَّ لَاُصَلِّبَنَّكُمْ فِيْ جُذُوْعِ النَّخْلِ ۫ وَ لَتَعْلَمُنَّ اَيُّنَآ
اَشَدُّ عَذَابًا وَّ اَبْقٰى ﴿٧١﴾ الثلثة

فرعون چيو تہ توهان ان کي مڃي ورتو ان کان پهرين جو آئون توهان کي اجازت ڏيان ها. اهوئي توهان جو وڏو آهي، جنهن توهان کي جادو سيکاريو آهي، تنهن ڪري آئون توهان جا هٿ ۽ پير مخالف رخن کان وڍيندس ۽ آئون توهان کي کجي جي ٿڙن تي ڦاهي ڏيندس ۽ توهان ڄاڻي وٺندؤ تہ اسان مان ڪنهن جو عذاب وڌيڪ سخت آهي ۽ هميشہ رهڻ وارو آهي. ٧١

---

اهو مقابلو رڳو ٻن قسمن جي ماڻهن جي ڪرتبن جو مقابلو نه هو. بلڪ اهو توحيد ۽ شرڪ جو مقابلو هو. يعني ان جي ذريعي اهو فيصلو ٿيڻو هو ته صداقت شرڪ جي پاسي آهي يا توحيد جي پاسي. چاڪاڻ فرعون جي وڏائي جو بنياد سراسر شرڪ تي قائم هو. ان ڪري هو شرڪ جي شڪست کي برداشت نه ڪري سگهيو ۽ جادوگرن لاءِ ان سخت سزا جو حڪم ڏنو. جيڪا مصر ۾ قديم زماني ۾ رائج هئي.

فرعون جڏهن دليل جي ميدان ۾ هارائجي ويو ته ان اها ڪوشش ڪئي ته طاقت ذريعي حق کي دٻائي ڇڏي. اهو هر زماني ۾ اقتدار وارن جي عام نفسيات رهي آهي، چاهي اهي بادشاهت جو اختيار رکڻ وارا هجن يا بادشاهت جي بغير اختيار رکڻ وارا.

قَالُوْا لَنْ نُّؤْثِرَكَ عَلٰى مَا جَآءَنَا مِنَ الْبَيِّنٰتِ وَ الَّذِيْ فَطَرَنَا فَاقْضِ مَآ اَنْتَ قَاضٍ ؕ اِنَّمَا تَقْضِيْ هٰذِهِ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ﴿٧٢﴾ اِنَّآ اٰمَنَّا بِرَبِّنَا لِيَغْفِرَ لَنَا خَطٰيٰنَا وَ مَآ اَكْرَهْتَنَا عَلَيْهِ مِنَ السِّحْرِ ؕ وَ اللّٰهُ خَيْرٌ وَّ اَبْقٰى ﴿٧٣﴾

جادوگرن چيو ته اسان توکي هرگز انهن دليلن تي ترجيح نه ڏينداسون، جيڪي اسان وٽ آيا آهن ۽ ان ذات تي جنهن اسان کي پيدا ڪيو آهي، تنهن ڪري توکي جيڪو ڪجھ ڪرڻو آهي سو ڪري وجھ. تون هن ئي دنيا جي زندگي بابت ئي ڪرين سگهين ٿو. اسان پنهنجي رب تي ايمان آندو ته جيئن هو اسان جي گناهن کي بخش ڪري ۽ ان جادو کي به جنهن تي تو اسان کي مجبور ڪيو ۽ الله بهتر آهي ۽ باقي رهڻ وارو آهي. ٧٢-٧٣

---

جادوگرن جي سامهون هڪ پاسي حضرت موسيٰ عليه السلام جا دليل هئا ۽ ٻئي پاسي فرعون جي جابراڻي شخصيت. اهو دليل ۽ شخصيت جو مقابلو هو. جادوگرن شخصيت تي دليل کي ترجيح ڏني، جيتوڻيڪ هو ڄاڻندا هئا ته ان ترجيح جي قيمت انهن کي انتهائي ڳري صورت ۾ ڏيڻي پوندي.

جادوگرن جو ايمان ڪو نسلي يا رسمي ايمان نه هو. سندن ايمان سندن لاءِ هڪ دريافت جي هم معنيٰ هو ۽ جيڪو ايمان ماڻهو کي دريافت طور حاصل ٿئي، اهو ايترو طاقتور هوندو آهي جو ان کان پوءِ هر ٻئي شيءِ ان کي حقير نظر اچڻ لڳندي آهي، چاهي اُها ڪا وڏي شخصيت هجي يا ڪا وڏي دنياوي مصلحت.

اِنَّهٗ مَنْ يَّاْتِ رَبَّهٗ مُجْرِمًا فَاِنَّ لَهٗ جَهَنَّمَ ؕ لَا يَمُوْتُ فِيْهَا وَ لَا يَحْيٰى ﴿٧٤﴾ وَ مَنْ يَّاْتِهٖ مُؤْمِنًا قَدْ عَمِلَ الصّٰلِحٰتِ فَاُولٰٓئِكَ لَهُمُ الدَّرَجٰتُ الْعُلٰى ﴿٧٥﴾ جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِيْ مِنْ
ع ١٢ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ وَ ذٰلِكَ جَزٰٓؤُا مَنْ تَزَكّٰى ﴿٧٦﴾

بيشڪ جيڪو ماڻهو مجرم ٿيو پنهنجي رب جي سامهون حاضر ٿيندو ته ان جي لاءِ جهنم آهي. ان ۾ هو نه مرندو ۽ نه جيئندو ۽ جيڪو ماڻهو پنهنجي رب وٽ مؤمن ٿي ايندو. جنهن نيڪ عمل ڪيا هجن ته اهڙن ماڻهن لاءِ وڏا اوچا درجا آهن. انهن لاءِ هميشه رهڻ وارا باغ آهن، جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون. اهي انهن ۾ هميشه رهندا ۽ اهو بدلو آهي ان ماڻهو جو جيڪو پاڪائي اختيار ڪري. ٧٤-٧٦

---

مجرم ٺيڻ چا آهي. مجرم ٺيڻ اهو آهي تہ ماڻهو جي سامهون خدا جي نشاني اچي، پر هو ان مان نصيحت حاصل نہ ڪري. ان جي سامهون دليل جي زبان ۾ حق کي واضح ڪيو وڃي، پر هو ان کي نظرانداز ڪري ڇڏي، هو ظاهري قوتن ۽ مادي مصلحتن کان آزاد ٿي حقيقت جو اعتراف نہ ڪري سگهي.

اهڙن ماڻهن لاءِ آخرت ۾ سخت سزا آهي، دنيا جي ڪا مصيبت، چاهي اها ڪيتري ئي وڏي هجي، بهرحال اها محدود آهي ۽ موت سان گڏ هڪ نہ هڪ ڏينهن ختم ٿي ويندي آهي، پر آخرت اُها جاءِ آهي جتي مصيبتن جو طوفان هرپاسي کان ماڻهو کي گهيرو ڪيل هوندو، پر ماڻهو جي لاءِ اتان ڀڄڻ ممڪن نہ هوندو ۽ نہ ئي اتي موت ايندي، جيڪا ناقابل بيان مصيبتن جو سلسلو ختم ڪري ڇڏي.

جنت ان جي لاءِ آهي جيڪو پنهنجي پاڻ کي پاڪ ڪري، پاڪ ڪرڻ اهو آهي تہ ماڻهو غفلت جي زندگي ترڪ ڪري ۽ شعور جي زندگي کي اپنائي. هو پنهنجي پاڻ کي انهن شين کان بچائي جيڪي حق کان روڪڻ واريون آهن. مصلحت جي رڪاوٽ سامهون اچي تہ ان کي نظرانداز ڪري ڇڏي. نفس جي خواهش اڀري تہ ان کي ختم ڪري ڇڏي. ظلم ۽ گهمنڊ جي نفسيات جاڳي تہ ان کي پنهنجي اندر ئي اندر دفن ڪري ڇڏي.

اهي ئي ماڻهو سچي ايمان وارا آهن. دنيا ۾ سندن ايمان نيڪ عملن جي باغ جي صورت ۾ هو. آخرت ۾ اهو ابدي جنتن جي روپ ۾ سرسبز ۽ شاداب ٿي ڪري انهن کي واپس ملندو.

وَ لَقَدْ اَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى ۙ اَنْ اَسْرِ بِعِبَادِيْ فَاضْرِبْ لَهُمْ طَرِيْقًا فِي الْبَحْرِ يَبَسًا ۙ لَّا تَخٰفُ دَرَكًا وَّ لَا تَخْشٰى ﴿٧٧﴾ فَاَتْبَعَهُمْ فِرْعَوْنُ بِجُنُوْدِهٖ فَغَشِيَهُمْ مِّنَ الْيَمِّ مَا غَشِيَهُمْ ﴿٧٨﴾ وَ اَضَلَّ فِرْعَوْنُ قَوْمَهٗ وَ مَا هَدٰى ﴿٧٩﴾

۽ اسان موسيٰ کي وحي ڪيو تہ رات جي وقت منهنجي ٻانهن کي وٺي نڪر. پوءِ انهن لاءِ سمنڊ ۾ سُڪو رستو ٺاهہ. تون نہ ڪِنهن لڳڻ کان ڊڄ ۽ نہ وري ڪنهن ٻي شيءِ جو ڊپ ڪر. پوءِ فرعون پنهنجن لشڪرن سان گڏ ان جو پيڇو ڪيو. پوءِ انهن کي سمنڊ جي پاڻي ڍڪي ورتو. پوءِ سمنڊ جو پاڻي ڪين وري ويو جيڪو ڪين ورتو هو ۽ فرعون پنهنجي قوم کي گمراهہ ڪيو ۽ ان کي صحيح راهہ نہ ڏيکاري. ٧٧-٧٩

---

جادوگرن سان مقابلي کان پوءِ حضرت موسيٰ عليہ السلام ڪيترائي سال مصر ۾ رهيا. هڪ پاسي انهن فرعون ۽ فرعون جي قوم تي پنهنجي تبليغ جاري رکي، ٻئي پاسي انهن مطالبو ڪيو تہ مون کي اجازت ڏيو تہ آئون پنهنجن ساٿين کي وٺي مصر کان ٻاهر سينا جي رڻ ۾ هليو وڃان ۽ اتي آزادي سان هڪ الله جي عبادت ڪريان. پر فرعون نہ نصيحت قبول ڪئي ۽ نہ وري حضرت موسيٰ عليہ السلام کي ٻاهر وڃڻ جي اجازت ڏني.

آخرڪار حضرت موسيٰ عليہ السلام الله تعاليٰ جي حڪم سان خاموشي سان هجرت جو فيصلو ڪيو. ان وقت مصر ۾ جيڪي اسرائيلي يا غيراسرائيلي مسلمان هئا، سيئي اڳواٽ منصوبي جي تحت هڪ خاص جڳهہ تي گڏ ٿيا ۽ اتان رات جي وقت گڏجي روانا ٿي ويا.

اهو قافلو سمنڊ احمر جي اتر خليج تي پهتو هو تہ فرعون پنهنجي لشڪر سان انهن جو پيڇو ڪندي اتي پهچي ويو. پنيان فرعون جو لشڪر هو ۽ اڳيان سمنڊ جي وسيع خليج، پوءِ حضرت موسيٰ عليہ السلام خليج جي پاڻي تي پنهنجي لٺ هنئي، الله جي حڪم سان پاڻي ٻہ ٽڪرا ٿي ڪري ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو، حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ سندس ساٿي ان جي وچ ۾ خشڪ رستي تي هلندي ٻي پاسي پهچي ويا. اهو ڏسي فرعون بہ ان جي اندر داخل ٿي ويو، پر فرعون ۽ ان جو لشڪر جيئن ئي وچ ۾ پهتو تہ ٻنهي طرفن جو پاڻي پاڻ ۾ ملي ويو، اهي ماڻهو ان جي اندر غرق ٿي ويا. هڪ ئي دريا الله تعاليٰ جي وفادار ٻانهن لاءِ نجات جو رستو بڻجي ويو ۽ الله تعاليٰ جي دشمنن لاءِ موت جي کڏ.

ماڻهو اڪثر پنهنجن اڳواڻن جي پيروسي تي حق کي نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهن، پر فرعون جي مثال ٻڌائي ٿي تہ اڳواڻن جو سهارو نهايت ڪمزور سهارو آهي. هن دنيا ۾ اصل سهاري وارو اُهو آهي، جيڪو الله تعاليٰ جي آيتن جي بنياد تي پنهنجي راهہ مقرر ڪري نہ وري قوم جي وڏن جي بنياد تي.

يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ قَدْ اَنْجَيْنٰكُمْ مِّنْ عَدُوِّكُمْ وَ وٰعَدْنٰكُمْ جَانِبَ الطُّوْرِ الْاَيْمَنَ وَ نَزَّلْنَا عَلَيْكُمُ الْمَنَّ وَ السَّلْوٰى ﴿٨٠﴾ كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ وَ لَا تَطْغَوْا فِيْهِ فَيَحِلَّ عَلَيْكُمْ غَضَبِيْ ۚ وَ مَنْ يَّحْلِلْ عَلَيْهِ غَضَبِيْ فَقَدْ هَوٰى ﴿٨١﴾ وَ اِنِّيْ لَغَفَّارٌ لِّمَنْ تَابَ وَ اٰمَنَ وَ عَمِلَ صَالِحًا ثُمَّ اهْتَدٰى ﴿٨٢﴾

اي بني اسرائيل! اسان توهان کي توهان جي دشمنن کان نجات ڏني ۽ توهان کي طور جي سڄي طرف جو واعدو ڏنو ۽ اسان توهان تي من ۽ سلويٰ لاٿو. ڪائو اسان جي ڏنل پاڪ روزي ۽ ان ۾ حد کان نہ لنگهو جو توهان مٿان منهنجو غضب نازل ٿئي ۽ جنهن تي منهنجو غضب نازل ٿيو، اهو تباهہ ٿيو. البتہ جيڪو توبهہ ڪري ۽ ايمان آڻي ۽ نيڪ عمل ڪري ۽ سڌي راهہ هلي تہ ان لاءِ آئون تمام گهڻو بخشڻ وارو آهيان. ٨٠-٨٢

---

خليج کي پار ڪرڻ کان پوءِ حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ ان جا ساٿي هلندا رهيا، ايستائين جو اُهي سينا جي رڻ ۾ پهچي ويا. ان کان پوءِ طور جبل وٽ سڏي خاص اهتمام سان انهن کي شريعت عطا ڪئي وئي، اهي ماڻهو چاليهہ سالن تائين سينا جي رڻ ۾ رهيا، اتي انهن لاءِ خاص نعمت طور پاڻي ۽ غذا (من ۽ سلويٰ) جو انتظام ڪيو ويو. جيڪو ان وقت تائين مسلسل جاري رهيو، جيستائين سندن اچڻ واريون نسلون فلسطين جي سرسبز علائقي ۾ پهچي ويون.

الله تعاليٰ تي ٻانهن جو اِهو حق آهي تہ هو هرحال ۾ پنهنجن ٻانهن کي رزق فراهم ڪري ۽ ٻانهن تي الله جو اهو حق آهي تہ اُهي ڪنهن بہ حال ۾ ان سان سرڪشي نہ ڪن، جيڪي ماڻهو الله جي نعمتن جا شڪرگذار بڻجي رهن، انهن لاءِ الله تعاليٰ جون وڏيڪ رحمتون آهن ۽ جيڪي ماڻهو سرڪش بڻجي وڃن، انهن لاءِ خدا جو شديد عذاب آهي، جيڪو ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندو.

وَ مَآ اَعْجَلَكَ عَنْ قَوْمِكَ يٰمُوْسٰى ﴿٨٣﴾ قَالَ هُمْ اُولَآءِ عَلٰٓى اَثَرِيْ وَ عَجِلْتُ اِلَيْكَ رَبِّ لِتَرْضٰى ﴿٨٤﴾ قَالَ فَاِنَّا قَدْ فَتَنَّا قَوْمَكَ مِنْ بَعْدِكَ وَ اَضَلَّهُمُ السَّامِرِيُّ ﴿٨٥﴾

۽ اي موسيٰ! پنهنجي قوم کي ڇڏي اڳ ۾ اچڻ تي توکي ڪهڙي شيءِ تڪڙ ڪرائي؟ موسيٰ چيو اهي ماڳهو بہ منهنجي پويان ئي آهن ۽ آئون اي منهنجا رب! توڏانهن جلدي اچي ويس تہ جيئن تون راضي ٿئين. فرمايائين تہ اسان تنهنجي قوم کي تنهنجي پويان هڪ آزمائش ۾ وجهي ڇڏيو ۽ سامري انهن کي گمراهہ ڪري ڇڏيو. ٨٣-٨٥

---

مصر مان نڪرڻ کان پوءِ الله تعاليٰ حضرت موسيٰؑ جي لاءِ هڪ تاريخ مقرر ڪئي تہ ان ڏينهن هو جبل طور وٽ پيهر اچي، جتي ان کي شروع ۾ پيغمبري ملي هئي. هتي حضرت موسيٰؑ کي توريت وٺڻ لاءِ پنهنجي سڄي قوم سان پهچڻو هو. پر شوق ۾ هو تيزي سان روانو ٿي ڪري مقرر تاريخ کان ڪجهہ ڏينهن پهرين واعدي جي مقام تي پهچي ويو ۽ قوم کي پٺيان ڇڏي ڏنو، حضرت موسيٰؑ جي علحدگي قوم لاءِ آزمائش بڻجي وئي، قوم ۾ ڪجهہ مشرڪاڻي ذهنيت جا ماڻهو هئا. سامري سندن اڳواڻ هو. انهن ماڻهن حضرت موسيٰؑ جي غيرموجودگي مان فائدو ڪٽندي قوم کي گمراهہ ڪيو ۽ ان کي ڳابي جي پوڄا ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. جهڙي طرح مصر ۾ ان زماني ۾ ٿيندو هو.

فَرَجَعَ مُوْسٰٓى اِلٰى قَوْمِهٖ غَضْبَانَ اَسِفًا ۚ قَالَ يٰقَوْمِ اَلَمْ يَعِدْكُمْ رَبُّكُمْ وَعْدًا حَسَنًا ۬ اَفَطَالَ عَلَيْكُمُ الْعَهْدُ اَمْ اَرَدْتُّمْ اَنْ يَّحِلَّ عَلَيْكُمْ غَضَبٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَخْلَفْتُمْ مَّوْعِدِيْ ﴿٨٦﴾

پوءِ موسيٰ پنهنجي قوم ڏانهن ڪاوڙ ۽ ڏک ۾ ڀريل موٽيو. ان چيو تہ اي منهنجي قوم! ڇا توهان سان توهان جي رب هڪ سٺو واعدو نہ ڪيو هو. ڇا توهان تي گهڻو زمانو گذري چڪو هو يا توهان چاهيو ٿي تہ توهان تي توهان جي رب جو غضب نازل ٿئي، ان ڪري توهان مون سان واعدي خلافي ڪئي. ٨٦

---

الله تعاليٰ جڏهن حضرت موسيٰ کي خبر ڏني تہ تنهنجي قوم آزمائش ۾ مبتلا ٿي وئي آهي تہ هو جذباتي ٿي قوم ڏانهن موٽيا. ان انهن کي ياد ڏياريو تہ ڪجهہ وقت اڳ ئي الله تعاليٰ توهان تي ايترا احسان ڪيا آهن ۽ پنهنجون ايتريون گهڻيون نشانيون توهان لاءِ ظاهر ڪيون آهن، پوءِ توهان ڪيئن ايترو جلدي سڀ ڪجهہ وساري گمراهي ۾ پئجي ويا.

حضرت موسيٰؑ بني اسرائيل لاءِ الله جو ڪتاب وٺڻ ويا ۽ بني اسرائيل جي وڏي تعداد ڪجهہ ماڻهن جي ڳالهين ۾ اچي غيرالله جي پرستش ۾ مصروف ٿي ويئي. ان مان اندازو ٿيندو آهي تہ بني اسرائيل مصر جي مشرڪاڻي ماحول کان ڪيترو گهڻو متاثر ٿي چڪا هئا ۽ ان ڪري اهو ضروري ٿي پيو هو تہ انهن کي پيهر توحيد جو پرستار بڻائڻ لاءِ انهن کي مصر جي ماحول مان ڪڍي ٻاهر وٺي وڃجي.

حضرت موسيٰؑ فرعون جي مقابلي ۾ جيڪو ڪجهہ ڪيو، اهو دين جي دعوت جو ڪم هو ۽ پاڻ بني اسرائيل جي معاملي ۾ جيڪو ڪجهہ ڪيو، اهو دين جي حفاظت جو ڪم هو. ٻئي ڪم پاڻؑ گڏو گڏ انجام ڏنا. ان مان ٻنهي ڪمن جي اهميت جي خبر پئي ٿئي. مسلمان جيڪڏهن بگڙيل هجن تہ ان ڪري عام دعوت جو ڪم روڪي نہ ٿو سگهجي ۽ جيڪڏهن عام دعوت جو ڪم ڪرڻو آهي تہ اهو اهڙي طرح نہ ڪيو وڃي جو مسلمانن جي اصلاح جو ڪم بند ڪري ڇڏجي.

قَالُوْا مَاۤ اَخْلَفْنَا مَوْعِدَكَ بِمَلْكِنَا وَ لٰكِنَّا حُمِّلْنَاۤ اَوْزَارًا مِّنْ زِیْنَةِ الْقَوْمِ فَقَذَفْنٰهَا
فَكَذٰلِكَ اَلْقَى السَّامِرِیُّ ﴿۸۷﴾ فَاَخْرَجَ لَهُمْ عِجْلًا جَسَدًا لَّهٗ خُوَارٌ فَقَالُوْا هٰذَاۤ اِلٰهُكُمْ وَ
اِلٰهُ مُوْسٰى ۙ۬ فَنَسِیَ ﴿۸۸﴾ اَفَلَا یَرَوْنَ اَلَّا یَرْجِعُ اِلَیْهِمْ قَوْلًا ۙ۬ وَّ لَا یَمْلِكُ لَهُمْ ضَرًّا وَّ لَا
نَفْعًا ﴿۸۹﴾ ع ۱۳

انهن چيو ته اسان پنهنجي اختيار سان توسان واعدي خلافي نه ڪئي، بلڪ قوم جي زيورن جو بار اسان کان کڻايو ويو هو ته اسان ان کي اڇلائي ڇڏيو. پوءِ اهڙي طرح سامري (باهه ۾) وڌا. پوءِ ان انهن لاءِ هڪ گابي جهڙو بوتو ڪڍيو (ٺاهيو) جنهن کي رنڀ هئي، پوءِ انهن چيو ته هي توهان جو معبود آهي ۽ موسيٰ جو معبود به ۽ (موسيٰ) ڀلجي ويو. ڇا اهي ڏسندا نه هئا ته نه هو ڪنهن ڳالهه جو جواب ڏي ٿو ۽ نه ڪو فائدو يا نقصان پهچائي سگهي ٿو. ٨٧-٨٩

بني اسرائيل جون عورتن قديم رواج مطابق ڳرا زيور پائيندڙيون هيون. ان سفر ۾ قوم ڪنهن جڳهه ترسي ته انهن زيورن کي لاهي هڪ جاءِ تي ڍڳ ڪري ڇڏيو. سندن وچ ۾ هڪ سامري هو جيڪو مصر جي قديم بت سازي جي صنعت جو تجربو رکندو هو. ان انهن زيورن کي پگهرايو ۽ انهن مان گابي جهڙي هڪ صورت ٺاهي ورتي. اهو گابو اندران خالي هو ۽ اهڙي مهارت سان بڻايو ويو هو ته جڏهن ان جي اندران هوا گذرندي هئي ته ڍڳي جي رنڀ جهڙو آواز ايندو هو. سامري بني اسرائيل جي جاهل عوام کي چيو ته ڏسو توهان جو معبود ته هي آهي، جيڪو هتي موجود آهي. موسيٰ معبود جي تلاش ۾ خبر نه آهي ڪهڙي جبل تي هليو ويو.

هر زماني جا ”سامري“ اهڙي ئي طرح عوام کي بيوقوف بڻائيندا آهن. هو ڪنهن ظاهري شيءِ کي منتخب ڪري ان کي سيني کان وڌو حق ثابت ڪندا آهن ۽ لفظن جي فريب ۾ اچي عوام جو هڪ وڏو تعداد سندن چؤطرف جمع ٿي ويندو آهي، ظاهر پرستي انسان جي سيني کان وڏي ڪمزوري آهي، چاهي اهو قديم دور جو انسان هجي يا جديد دور جو انسان.

وَ لَقَدْ قَالَ لَهُمْ هٰرُوْنُ مِنْ قَبْلُ یٰقَوْمِ اِنَّمَا فُتِنْتُمْ بِهٖ ۚ وَ اِنَّ رَبَّكُمُ الرَّحْمٰنُ
فَاتَّبِعُوْنِیْ وَ اَطِیْعُوْۤا اَمْرِیْ ﴿۹۰﴾ قَالُوْا لَنْ نَّبْرَحَ عَلَیْهِ عٰكِفِیْنَ حَتّٰى یَرْجِعَ اِلَیْنَا
مُوْسٰى ﴿۹۱﴾

۽ هارون کين پهرين ئي چيو هو ته اي منهنجي قوم! توهان ان گابي جي ذريعي گمراهه ٿي ويا آهيو ۽ توهان جو رب ته رحمان آهي. تنهن ڪري منهنجي پيروي ڪريو ۽ منهنجي ڳالهه مڃو. انهن چيو ته اسان ته ان ئي جي پرستش ۾ لڳا رهنداسون، جيستائين موسيٰ اسان وٽ موٽي نه اچي. ٩٠-٩١

حضرت موسيٰ عليه السلام کان پوءِ قوم جي سنڀال جي ذميداري حضرت هارون عليه السلام تي هئي. انهن قوم کي گهڻو ئي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر قوم تي سندس اهو رعب نه هو جيڪو حضرت موسيٰ عليه السلام جو هو. ان ڪري سندس منع ڪرڻ کان پوءِ به ماڻهو ان کان نه رڪيا. حضرت هارون عليه السلام جو

اصرار وڌيو تہ ماڻهن چيو هاڻي جيڪو ٿي ويو آهي، اهو تہ ايئن ئي جاري رهندو. موسيٰ عليہ السلام جڏهن موٽي ايندو تہ اهوئي ان بابت فيصلو ڪندو.

حضرت هارون عليہ السلام ان وقت جيڪڏهن ڪو سخت قدم کڻن ها تہ ان مان ڪو نتيجو نہ نڪري ها، ڇاڪاڻ پاڻ عليہ السلام سان گڏ جيڪي ماڻهو هئا، اهي تعداد ۾ ٿورا هئا. پاڻ عليہ السلام اجائي ڪارروائي جي مقابلي ۾ ان کي وڌيڪ مناسب سمجهو تہ وقتي طور تي صبر جو طريقو اختيار ڪري وٺن ۽ ماڻهن جي اصلاح لاءِ الله تعاليٰ کان دعا ڪندا رهن.

قَالَ يٰهٰرُوْنُ مَا مَنَعَكَ اِذْ رَاَيْتَهُمْ ضَلُّوْٓا ﴿٩٢﴾ اَلَّا تَتَّبِعَنِ ؕ اَفَعَصَيْتَ اَمْرِيْ ﴿٩٣﴾ قَالَ يَبْنَؤُمَّ لَا تَاْخُذْ بِلِحْيَتِيْ وَ لَا بِرَاْسِيْ ۚ اِنِّيْ خَشِيْتُ اَنْ تَقُوْلَ فَرَّقْتَ بَيْنَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ وَلَمْ تَرْقُبْ قَوْلِيْ ﴿٩٤﴾

موسيٰ چيو تہ اي هارون! جڏهن تو ڏٺو تہ اهي گمراہ ٿي ويا آهن تہ توکي ڪنهن شيءِ ان کان روڪيو جو تون منهنجي پيروي ڪرين. ڇا تو منهنجي حڪم جي نافرماني ڪئي. هارون چيو تہ اي منهنجي ماءُ جا پٽ! تون مون کي ڏاڙهي کان نہ وٺ ۽ نہ منهنجي مٿي کان. مون کي اِهو ڊپ هو تہ تون چوندين تہ تو بني اسرائيل ۾ ڦوٽ وجهي ڇڏي ۽ منهنجي ڳالھ جو لحاظ نہ ڪيو. ٩٢-٩٤

---

حضرت موسيٰ عليہ السلام پنهنجي ڀاءُ جو سختي سان احتساب ڪيو. حضرت هارون عليہ السلام جواب ڏنو تہ ايئن نہ آهي جو مون اصلاح جي ڪوشش نہ ڪئي ۽ جاهلن سان ٺاهہ ڪري ورتو، بلڪ مون پوري قوت سان انهن کي مشرڪاڻي ڪم کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. پر مسئلو اهو هو تہ قوم جي اڪثريت سامري جي فريب ۾ اچي سندس ساٿي بڻجي وئي، مون اصرار ڪيو تہ اهي ماڻهو وڙهڻ ۽ قتل تي آماده ٿي ويا، مون کي انديشو ٿيو تہ جيڪڏهن آئون اصرار جاري رکندس تہ قوم جي اندر باهمي خون ريزي شروع ٿي ويندي.

معاملو ان حدتائين پهچڻ کان پوءِ مون کي ٻن شين مان هڪ جو انتخاب ڪرڻو هو، يا تہ باهمي جنگ يا توهان جي اچڻ تائين ان معاملي کي ملتوي رکڻ، مون ٻي صورت کي مناسب سمجهي ان کي اختيار ڪري ورتو. گهڻن ئي موقعن تي دين جو تقاضو اهو هوندو آهي تہ باهمي لڙائي کان بچڻ لاءِ خاموشي جو طريقو اختيار ڪري وٺجي، ايستائين جو شرڪ جهڙي معاملي ۾ بہ.

قَالَ فَمَا خَطْبُكَ يٰسَامِرِيُّ ﴿٩٥﴾ قَالَ بَصُرْتُ بِمَا لَمْ يَبْصُرُوْا بِهٖ فَقَبَضْتُ قَبْضَةً مِّنْ اَثَرِ الرَّسُوْلِ فَنَبَذْتُهَا وَ كَذٰلِكَ سَوَّلَتْ لِيْ نَفْسِيْ ﴿٩٦﴾ قَالَ فَاذْهَبْ فَاِنَّ لَكَ فِي الْحَيٰوةِ اَنْ تَقُوْلَ لَا مِسَاسَ ۠ وَ اِنَّ لَكَ مَوْعِدًا لَّنْ تُخْلَفَهٗ ۚ وَ انْظُرْ اِلٰٓى اِلٰهِكَ الَّذِيْ ظَلْتَ عَلَيْهِ عَاكِفًا ؕ لَنُحَرِّقَنَّهٗ ثُمَّ لَنَنْسِفَنَّهٗ فِي الْيَمِّ نَسْفًا ﴿٩٧﴾ اِنَّمَآ اِلٰهُكُمُ اللّٰهُ الَّذِيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ وَسِعَ كُلَّ شَيْءٍ عِلْمًا ﴿٩٨﴾

موسيٰ چيو اي سامري! تنهنجو ڇا معاملو آهي. ان چيو مون کي اها شيءِ نظر آئي جيڪا ٻين کي نظر نہ آئي تہ مون رسول جي نقش قدم مان هڪ مُٺ کڻي ورتي ۽ اُها ان ۾ وجهي ڇڏي. منهنجي نفس مون کي اهڙي طرح سمجهايو. موسيٰ چيو پري ٿيءُ هاڻي تنهنجي لاءِ سڄي زندگي اهو آهي تہ تون چوندين تہ مون کي نہ ڇُهو ۽ تنهنجي لاءِ هڪ ٻيو واعدو آهي جيڪو توکان نہ ٽرندو ۽ تون پنهنجي ان معبود ڏانهن نهار جنهن تي تون مجاور ٿي ويٺو هئين. اسان ان کي ساڙينداسون، پوءِ ان کي وکيري درياءَ ۾ وهائي ڇڏينداسون. توهان جو معبود تہ صرف الله آهي، ان کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي، ان جو علم هر شيءِ تي حاوي آهي. ٩٥-٩٨

---

حضرت موسيٰ عليه السلام کي جڏهن معلوم ٿيو تہ ان ڪم جو اصل اڳواڻ سامري آهي تہ پاڻ عليه السلام ان کان پڇا ڪئي. سامري وڏي هوشياري جو طريقو اختيار ڪيو ۽ ڳالھ ناهيندي چيو تہ مون جيڪو ڪجھ ڪيو ڪشف جي سبب ڪيو ۽ خود رسول جي قدم جي مٽي بہ ان ۾ برڪت جي لاءِ شامل ڪري ڇڏي.

پيغمبر کي دوکو ڏيڻ جي ڪوشش جي ڪري سامري جو جرم اڃا وڌيڪ سخت ٿي ويو. بائيبل جي بيان مطابق ان کي خدا ڪوڙھ جو مريض بڻائي ڇڏيو، ان جو جسم اهڙو مڪروه ٿي ويو جو ماڻهو ان کي ڏسي پري کان ئي رستو مٽائي ويندا هئا. سامري ڪوڙ جي بنياد تي قوم جو محبوب بڻجڻ جي ڪوشش ڪئي. ان جي سزا ان کي اها ملي جو هو قوم جو سڀني کان وڌيڪ قابل نفرت ماڻهو بڻايو ويو ۽ آخرت جي سزا ان کان علاوه آهي.

بني اسرائيل جي ذهن ۾ شرڪ جي معبودن جي جيڪا عظمت هئي، ان کي ختم ڪرڻ لاءِ حضرت موسيٰ عليه السلام ايئن ڪيو جو ماڻهن جي سامهون ڳابي کي ساڙي ڇڏيو، پوءِ ان جي خاڪ کي سمنڊ جي ڇولين ۾ وهائي ڇڏيو.

كَذٰلِكَ نَقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ مَا قَدْ سَبَقَ ۚ وَ قَدْ اٰتَيْنٰكَ مِنْ لَّدُنَّا ذِكْرًا ﴿٩٩﴾ مَنْ
اَعْرَضَ عَنْهُ فَاِنَّهٗ يَحْمِلُ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وِزْرًا ﴿١٠٠﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهِ ؕ وَ سَآءَ لَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ
حِمْلًا ﴿١٠١﴾ يَّوْمَ يُنْفَخُ فِي الصُّوْرِ وَ نَحْشُرُ الْمُجْرِمِيْنَ يَوْمَئِذٍ زُرْقًا ﴿١٠٢﴾ يَّتَخَافَتُوْنَ بَيْنَهُمْ
اِنْ لَّبِثْتُمْ اِلَّا عَشْرًا ﴿١٠٣﴾ نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَا يَقُوْلُوْنَ اِذْ يَقُوْلُ اَمْثَلُهُمْ طَرِيْقَةً اِنْ لَّبِثْتُمْ
اِلَّا يَوْمًا ﴿١٠٤﴾ ع ١٤

اهڙي طرح اسان توکي انهن جو احوال ٻڌائيندا آهيون جيڪي اڳ ۾ گذري چڪا ۽ اسان توکي پاڻ وٽان هڪ نصيحت نامو ڏنو آهي، جيڪو ان کان منهن موڙيندو، اهو قيامت جي ڏينهن هڪ ڳرو بار کڻندو. اهي ان ۾ هميشہ رهندا ۽ اهو بار قيامت جي ڏينهن انهن لاءِ وڏو بڇڙو هوندو. جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪ هڻئين ويندي ۽ مجرمن کي ان ڏينهن اسان ان حال ۾ گڏ ڪنداسون جو خوف سان سندن اکيون نيريون هونديون پاڻ ۾ آهستي آهستي چوندا هوندا تہ توهان صرف ڏھ ڏينهن رهيا هوندؤ. اسان خوب ڄاڻون ٿا جيڪو ڪجھ هو چوندا جڏهن تہ سندن سڀني کان وڌيڪ واقف ڪار چوندو تہ توهان فقط هڪ ڏينهن رهيا آهيو. ٩٩-١٠٤

---

پيغمبرن جو انڪار ڪرڻ وارن جو جيڪو انجام ٿيو اهو ڇڻ تہ دنيا ۾ ان خدائي فيصلي جو

جزوي ظهور هو. جيڪو قيامت ۾ مڪمل طورتي سڀني انسانن لاءِ پيش اچڻ وارو آهي. قرآن ان حقيقت جي هڪ يادگيري آهي.

دنيا ۾ ماڻهو جڏهن حق کي نظرانداز ڪندو آهي ته ظاهر ۾ اها معمولي ڳالهه لڳندي آهي. پر آخرت ۾ ماڻهو جو اهو عمل ان لاءِ نهايت ڳرو بڻجي ويندو. جڏهن خدائي صور اهو اعلان ڪندو ته امتحان جي مدت ختم ٿي وئي. ان وقت اوچتو ماڻهو پنهنجي پاڻ کي هڪ ٻي دنيا ۾ ڏسندا. جڏهن ماڻهو تي اهو واضح ٿيندو ته جنهن دنيا کي هو پنهنجي دنيا سمجهي ويٺو هو. اُها اصل ۾ الله جي دنيا هئي ته ان تي ايتري دهشت طاري ٿيندي جو ان جي شڪل بدلجي ويندي.

موجوده دنيا ۾ ماڻهو آخرت کي اهڙي طرح نظرانداز ڪندو آهي ڄڻ ته اها ڪا تمام پري جي شيءِ هجي. پر قيامت اچڻ کان پوءِ ماڻهو کي ايئن لڳندو ته ڄڻ دنيا جي زندگي ته رڳو ڳڻپ جا ڪجهه ڏينهن هئي. ان کان پوءِ باقي سڄي زندگي اهائي هئي. جيڪا آخرت جي دنيا ۾ گذرڻ واري هئي.

وَ يَسۡـَٔلُوۡنَكَ عَنِ الۡجِبَالِ فَقُلۡ يَنۡسِفُهَا رَبِّىۡ نَسۡفًا ﴿۱۰۵﴾ فَيَذَرُهَا قَاعًا صَفۡصَفًا ﴿۱۰۶﴾ لَّا تَرٰى فِيۡهَا عِوَجًا وَّ لَاۤ اَمۡتًا ﴿۱۰۷﴾ يَوۡمَئِذٍ يَّتَّبِعُوۡنَ الدَّاعِىَ لَا عِوَجَ لَهٗ ۚ وَ خَشَعَتِ الۡاَصۡوَاتُ لِلرَّحۡمٰنِ فَلَا تَسۡمَعُ اِلَّا هَمۡسًا ﴿۱۰۸﴾

۽ ماڻهو توکان جبلن بابت پڇندا آهن. چئُ ته منهنجو رب انهن کي اڏائي ڪري پڪيڙي ڇڏيندو. پوءِ زمين کي پٽ ڪري ڇڏيندو. تون ان ۾ نڪي هيٺاهين نڪي مٿاهين ڏسندين. ان ڏينهن سڀ سڏ ڪرڻ واري جي پٺيان هلي پوندا. ذري به ڪا ڏنگائي نه هوندي، سڀئي آواز رحمان جي اڳيان دٻجي ويندا. تون هڪ ٻڙڪ کان سواءِ ڪجهه نه ٻڌندين. ١٠٥-١٠٨

---

قيامت ۾ موجوده زمين هڪ وڏي سڌي سنئين پٽ وانگر بڻائي ڇڏبي. ان وقت هتي نه جبلن جون بلنديون هونديون ۽ نه وري دريائن جون گهرائيون. سڀئي انسان ٻيهر پيدا ٿي ڪري ان زمين تي جمع ڪيا ويندا. دنيا ۾ الله تعاليٰ جو آواز الله تعاليٰ جي داعي جي زبان مان بلند ٿيندو آهي ته ماڻهو ان کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن. پر قيامت ۾ جڏهن الله تعاليٰ سڌو سنئون ماڻهن کي سڏيندو ته سڀئي انسان ذري برابر انڪار کان سواءِ ان آواز ڏانهن هلي پوندا. ماڻهن تي ايتري قدر هيبت طاري هوندي جو ڪنهن جي زبان مان ڪو لفظ نه نڪرندو. ماڻهن جي هلڻ جي آواز کان سواءِ ٻيو ڪو آواز نه هوندو. جيڪو ان وقت ماڻهن کي ٻڌڻ ۾ اچي.

يَوۡمَئِذٍ لَّا تَنۡفَعُ الشَّفَاعَةُ اِلَّا مَنۡ اَذِنَ لَهُ الرَّحۡمٰنُ وَ رَضِىَ لَهٗ قَوۡلًا ﴿۱۰۹﴾ يَعۡلَمُ مَا بَيۡنَ اَيۡدِيۡهِمۡ وَ مَا خَلۡفَهُمۡ وَ لَا يُحِيۡطُوۡنَ بِهٖ عِلۡمًا ﴿۱۱۰﴾ وَ عَنَتِ الۡوُجُوۡهُ لِلۡحَىِّ الۡقَيُّوۡمِ ؕ وَ قَدۡ خَابَ مَنۡ حَمَلَ ظُلۡمًا ﴿۱۱۱﴾ وَ مَنۡ يَّعۡمَلۡ مِنَ الصّٰلِحٰتِ وَ هُوَ مؤمن فَلَا يَخٰفُ ظُلۡمًا وَّ لَا هَضۡمًا ﴿۱۱۲﴾

ان ڏينهن سفارش ڪو فائدو نہ ڏيندي، سواءِ اهڙي ماڻهو جي جنهن کي رحمان اجازت ڏني هجي ۽ ان لاءِ ڳالهائڻ پسند ڪيو هجي. هو سيني جا اڳيان ۽ پويان احوال ڄاڻي ٿو ۽ سندن علم هن جو گهيرو نہ ٿو ڪري سگهي ۽ سيئي چهرا سدائين جيئري ۽ بيهڪ ڏيندڙ جي سامهون جهڪيل هوندا ۽ اهڙو ماڻهو ناڪام رهندو جيڪو ظلم کڻي آيو ۽ جنهن چڱا ڪم ڪيا هوندا ۽ اهو مؤمن بہ هوندو تہ ان کي نہ ڪنهن زيادتي جو انديشو هوندو ۽ نہ ڪنهن ڪمي جو. ١٠٩-١١٢

---

الله تعاليٰ کان سواءِ ڪنهن ٻي ذات کي سفارش جو قطعي ۽ مستقل حق هجڻ سراسر باطل آهي. الله تعاليٰ نہ ٻانهن جي احوال کان بيخبر آهي جو ڪير هن کي ڪنهن جي باري ۾ ٻڌائي ۽ نہ هو ڪمزور آهي جو ڪير ان تي دٻاءُ وجهي سگهي. البتہ ڪجھ خاص حالتن ۾ خود الله تعاليٰ جي ئي اها مرضي ٿي سگهي ٿي تہ هو ڪنهن جي زبان مان جاري ٿيڻ واري هڪ قابل لحاظ درخواست کي قبوليت جي عزت عطا فرمائي.

قيامت ۾ اصل اهميت ان ڳالھ جي هوندي تہ ڪير ماڻهو خود ڇا کڻي آيو آهي. جنهن ماڻهو موجوده دنيا ۾ پنهنجي زندگي ناحق تي گذاري هوندي تہ ان جو آخرت ۾ ناڪام ٿيڻ يقيني آهي، اتي صرف اهي ماڻهو ڪامياب ٿيندا جن غيب جي حالت ۾ پنهنجي رب کي سڃاتو ۽ پنهنجي زندگي کي ان جي مرضي جي مطابق بدلائي ڇڏيو.

وَ كَذٰلِكَ اَنْزَلْنٰهُ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا وَّ صَرَّفْنَا فِيْهِ مِنَ الْوَعِيْدِ لَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ اَوْ يُحْدِثُ لَهُمْ ذِكْرًا ﴿١١٣﴾ فَتَعٰلَى اللّٰهُ الْمَلِكُ الْحَقُّ ۚ وَ لَا تَعْجَلْ بِالْقُرْاٰنِ مِنْ قَبْلِ اَنْ يُّقْضٰٓى اِلَيْكَ وَحْيُهٗ ۫ وَ قُلْ رَّبِّ زِدْنِيْ عِلْمًا ﴿١١٤﴾

۽ اهڙي طرح اسان عربي قرآن نازل ڪيو آهي ۽ ان ۾ عذاب جو انجام طرح طرح سان بيان ڪيوسون، تہ جيئن ماڻهو ڊڄن يا سندن دل ۾ ڪجھ سوچ پيدا ڪري. پوءِ الله مٿانهون آهي، حقيقي بادشاهہ ۽ تون قرآن کي وٺڻ ۾ تڪڙ نہ ڪر، جيستائين ان جو وحي توتي پورو ٿئي ۽ چئو تہ اي منهنجا رب! منهنجو علم وڌاءِ. ١١٣-١١٤

---

الله تعاليٰ پنهنجي ڪتاب جنهن ۾ هر قسم جا دليل آهن، انساني زبان ۾ نازل ڪيو آهي ۽ ان زبان کي هميشہ جي لاءِ هڪ زنده زبان بڻائي ڇڏيو آهي. اهڙي طرح الله تعاليٰ جي هدايت کي اهڙي شيءِ بڻايو ويو آهي، جنهن کي هر زماني جو ماڻهو پڙهي ۽ سمجهي سگهي.

داعي جڏهن حق جي دعوت کڻي اٿندو آهي تہ ان جي سامهون نتيجي جي لحاظ کان ٻہ شيون هئڻ گهرجن. پهرين گهربل شيءِ تہ اها آهي تہ ٻڌڻ واري جي اندر نفسياتي انقلاب پيدا ٿئي ۽ هو الله کان ڊڄڻ وارو بڻجي وڃي. ٻي ان کان گهٽ ڳالھ اها آهي تہ داعي جي ڳالھ ٻڌڻ واري جي ذهن ۾ سوال بڻجي داخل ٿي وڃي.

مڪي ۾ دعوتي مهم دوران روزانو ماڻهن طرفان سوال ڪيا ويندا هئا ۽ نوان نوان مسئلا پيدا ٿيندا هئا. رسول اللهﷺ جي فطري خواهش اها هئي تہ قرآن جلدي جلدي نازل ٿئي، تہ جيئن پاڻﷺ کي جلدي جلدي خدائي رهنمائي ملندي رهي، فرمايو ويو قرآن جنهن وقفي وقفي سان نازل ٿي رهيو آهي

اهو الله تعاليٰ جو طي ڪيل منصوبو آهي. اهو اهڙي ئي طرح نازل ٿيندو ۽ پنهنجي تڪميل تائين پهچندو. توهان مستقبل جي قرآن ڪي حال ۾ نازل ڪرائڻ جي خواهش نہ ڪريو. البتہ اها دعا ڪريو تہ الله تعاليٰ توهان جي قرآن جي سمجهہ ۾ اضافو ڪري ۽ قرآن جي آيتن ۾ جيڪي وسيع مضمون لڪيل آهن ۽ انهن جي سمجهہ جي صلاحيت پيدا ڪري ڇڏي. قرآن جي اڳتي اچڻ وارين آيتن جي باري ۾ جلدي ڪرڻ جي بجاءِ توهان ڪي ان حڪمت ڪي ڄاڻڻ جي خواهش هجڻ گهرجي تہ قرآن جي نازل ٿيڻ ۾ ترتيب ۽ وقفو ڇو رکيو ويو آهي.

ان مان اهو نتيجو نڪرندو آهي تہ داعي ڪي ڪڏهن بہ جلدبازي ڪان ڪم نہ وٺڻ کپي. دعوت جي حالت ۾ جهاد جا مسائل بيان ڪرڻ، ماڻهو جي اصلاح جي دور ۾ اجتماعي قدم کڻڻ جا احڪام ٻڌائڻ، جن موقعن تي صبر ڪرڻ گهرجي، انهن موقعن تي قتال جي آيتن جو حوالو ڏيڻ، اهي سڀ ان ئي مسئلي ۾ داخل آهن ۽ انهن ڪان پرهيز ڪرڻ داعي لاءِ لازمي طور ضروري آهي.

ع ١٥ وَ لَقَدْ عَهِدْنَآ اِلٰٓى اٰدَمَ مِنْ قَبْلُ فَنَسِيَ وَ لَمْ نَجِدْ لَهٗ عَزْمًا ﴿١١٥﴾ وَ اِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ اَبٰى ﴿١١٦﴾ فَقُلْنَا يٰٓاٰدَمُ اِنَّ هٰذَا عَدُوٌّ لَّكَ وَ لِزَوْجِكَ فَلَا يُخْرِجَنَّكُمَا مِنَ الْجَنَّةِ فَتَشْقٰى ﴿١١٧﴾

۽ اسان آدم ڪي ان ڪان اڳ ۾ حڪم ڏنو هو تہ هن وساريو ۽ اسان ان ۾ عزم نہ ڏٺو ۽ جڏهن اسان فرشتن ڪي چيو تہ آدم ڪي سجدو ڪريو تہ انهن سجدو ڪيو. پر ابليس انڪار ڪيو. پوءِ اسان چيو تہ اي آدم! هي بيشڪ تنهنجو ۽ تنهنجي زال جو دشمن آهي. متان هو توهان ٻنهي ڪي جنت مان ڪيرائي نہ ڇڏي. پوءِ توهان محروم ٿي رهجي وڃو. ١١٥-١١٧

---

الله تعاليٰ جي حڪم تي قائم رهڻ لاءِ مضبوط ارادو انتهائي ضروري آهي. ماڻهو جيڪڏهن غيرضروري شين ڪان متاثر ٿي وڃي تہ هو يقيناً الله تعاليٰ جي رستي ڪان هٽي ويندو. الله تعاليٰ جي رستي تي ثابت قدم رهڻ لاءِ صرف الله تعاليٰ جي حڪم ڪي ڄاڻڻ ڪافي نہ آهي، بلڪ اهو عزم بہ لازمي طور ضروري آهي تہ ماڻهو الله تعاليٰ جي حڪم خلاف ڳالهين ڪان بہ رڪجڻ جي ڪوشش ڪري ۽ انهن ڪي پاڻ تي اثرانداز ٿيڻ نہ ڏي.

الله تعاليٰ آدم عليه السلام ڪي سجدو ڪرڻ جو حڪم ڏنو تہ فرشتا يڪدم سجدي ۾ ڪري پيا. پر شيطان سجدو نہ ڪيو. ان فرق جي وجهہ ڪهڙي هئي؟ ان جي وجهہ اها هئي تہ فرشتن ان معاملي ڪي الله تعاليٰ جو معاملو سمجهو. ان جي ابتڙ ابليس ان ڪي انسان جو معاملو سمجهو. جڏهن معاملي ڪي الله تعاليٰ جو معاملو سمجهو وڃي تہ پوءِ ماڻهو لاءِ هڪ ئي صورت ممڪن هوندي آهي. اها هي تہ هو ان جي اطاعت ڪري. پر جڏهن معاملي ڪي انسان جو معاملو سمجهي وٺجي تہ ماڻهو ايئن ڪندو جو هو سامهون جي انسان ڪي ڏسندو. جيڪڏهن هو ان ڪان طاقتور آهي تہ هو جهڪي ويندو ۽ جيڪڏهن هو ان ڪان طاقتور نہ آهي تہ هو جهڪڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيندو، چاهي حق جو تقاضو اهوئي هجي جو هو ان جي اڳيان پنهنجي پاڻ ڪي جهڪائي ڇڏي.

إِنَّ لَكَ أَلَّا تَجُوعَ فِيهَا وَلَا تَعْرَىٰ ﴿١١٨﴾ وَأَنَّكَ لَا تَظْمَأُ فِيهَا وَلَا تَضْحَىٰ ﴿١١٩﴾ فَوَسْوَسَ إِلَيْهِ
الشَّيْطَانُ قَالَ يَا آدَمُ هَلْ أَدُلُّكَ عَلَىٰ شَجَرَةِ الْخُلْدِ وَمُلْكٍ لَا يَبْلَىٰ ﴿١٢٠﴾ فَأَكَلَا مِنْهَا فَبَدَتْ
لَهُمَا سَوْآتُهُمَا وَطَفِقَا يَخْصِفَانِ عَلَيْهِمَا مِنْ وَرَقِ الْجَنَّةِ ۚ وَعَصَىٰ آدَمُ رَبَّهُ فَغَوَىٰ ﴿١٢١﴾
ثُمَّ اجْتَبَاهُ رَبُّهُ فَتَابَ عَلَيْهِ وَهَدَىٰ ﴿١٢٢﴾

هتي تنهنجي لاءِ اهو آهي تہ تون نہ بکيو رهندين ۽ نہ اگهاڙو ٿيندين ۽ تون هتي نہ اُڃو ٿيندين ۽ نہ توکي اُس لڳندي، پوءِ شيطان انهن کي ورغلايو. ان چيو تہ ڇا آئون توکي سدائين رهڻ واري وڻ جو ڏس ڏيان ۽ اهڙي بادشاهي جنهن کي ڪڏهن بہ زوال نہ اچي. پوءِ انهن ٻنهي ان وڻ جو ميوو کاڌو تہ ٻنهي جي سندن اوگهڙ هڪ ٻئي جي سامهون ظاهر ٿي پئي ۽ ٻئي پنهنجي پاڻ کي جنت جي پنن سان ڍڪڻ لڳا ۽ آدم پنهنجي رب جي حڪم جي خلاف ورزي ڪئي تہ ڀٽڪي ويو. پوءِ ان جي رب کيس نوازيو ۽ ان جي توبهہ قبول ڪئي ۽ ان کي هدايت ڏني. ١١٨-١٢٢

---

آدم ؑ ۽ ان جي زال کي جنهن جنت ۾ رکيو ويو هو، اتي زندگي جون سڀئي ضرورتون انهن کي ڪشادگي سان حاصل هيون. غذا، لباس، پاڻي ۽ ڇانو (گهر). اهي سڀ شيون اُتي الله تعاليٰ طرفان بلڪل مفت مهيا ڪيون ويون. موجوده دنيا ۾ اهي شيون ماڻهو کي مشقت ۽ محنت ذريعي ملنديون آهن. جنت ۾ اهي شيون ڪين محنت کان سواءِ حاصل هيون.

هڪ وڻ جو ميوو کائڻ آدم ؑ لاءِ منع ڪيل هو. شيطان ان ئي وڻ جي ميوي ۾ هميشہ جا فائدا ٻڌايا. آخرڪار آدم ؑ ان جي ڳالهين کان متاثر ٿي ويو ۽ انهن ان وڻ جو ميوو کائي ورتو. ان کان پوءِ يڪدم انهن محسوس ڪيو تہ اهي اگهاڙا ٿي ويا آهن. اها ڄڻ تہ هڪ علامت هئي تہ الله تعاليٰ جي اها ضمانت انهن کان کسجي وئي جنهن جي ڪري اجا تائين محنت کان سواءِ روزي جا مالڪ هئا. ان کان پوءِ توبهہ ۽ دعا جي ڪري آدم ؑ جي معافي ٿي وئي، پوءِ بہ اهي بنا محنت جي روزي واري دنيا مان ڪڍي محنت سان روزي واري دنيا ۾ موڪليا ويا. اهڙي طرح زمين تي موجوده انساني نسل جو آغاز ٿيو.

قَالَ اهْبِطَا مِنْهَا جَمِيعًا ۖ بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ۖ فَإِمَّا يَأْتِيَنَّكُمْ مِنِّي هُدًى فَمَنِ اتَّبَعَ
هُدَايَ فَلَا يَضِلُّ وَلَا يَشْقَىٰ ﴿١٢٣﴾ وَمَنْ أَعْرَضَ عَنْ ذِكْرِي فَإِنَّ لَهُ مَعِيشَةً ضَنْكًا وَ
نَحْشُرُهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ أَعْمَىٰ ﴿١٢٤﴾ قَالَ رَبِّ لِمَ حَشَرْتَنِي أَعْمَىٰ وَقَدْ كُنْتُ بَصِيرًا ﴿١٢٥﴾ قَالَ
كَذَٰلِكَ أَتَتْكَ آيَاتُنَا فَنَسِيتَهَا ۖ وَكَذَٰلِكَ الْيَوْمَ تُنْسَىٰ ﴿١٢٦﴾ وَكَذَٰلِكَ نَجْزِي مَنْ أَسْرَفَ وَ
لَمْ يُؤْمِنْ بِآيَاتِ رَبِّهِ ۚ وَلَعَذَابُ الْآخِرَةِ أَشَدُّ وَأَبْقَىٰ ﴿١٢٧﴾

(الله) چيو تہ توهان ٻئي هتان لهو، توهان هڪ ٻئي جا دشمن ٿيندو. پوءِ جيڪڏهن توهان وٽ منهنجي طرفان هدايت اچي تہ جيڪو شخص منهنجي هدايت جي پيروي ڪندو، اهو نہ گمراهہ ٿيندو ۽ نہ محروم رهندو ۽ جيڪو شخص منهنجي نصيحت کان منهن موڙيندو تہ ان لاءِ تنگي جو جيئڻ هوندو ۽ قيامت جي ڏينهن اسان ان کي انڌو اٿارينداسون. هو چوندو تہ اي منهنجا رب! تو مون کي انڌو ڇو اٿاريو، آئون تہ اکين وارو هئس. ارشاد

ٿيندو تہ اهڙي طرح تو وٽ اسان جون نشانيون آيون تہ تو انهن جو ڪجھ خيال نہ ڪيو. تہ اهڙي طرح اڄ تنهنجو ڪجھ خيال نہ ڪيو ويندو ۽ اهڙي طرح اسان بدلو ڏينداسون ان ڪي جيڪو حد کان لنگهي وڃي ۽ پنهنجي رب جي نشانين تي ايمان نہ آڻي ۽ آخرت جو عذاب وڌو سخت آهي ۽ باقي رهڻ وارو آهي. ١٢٣-١٢٧

---

الله تعاليٰ آدم عليہ السلام ۽ ابليس ٻنهي کي زمين تي آباد ڪيو ۽ شروع ۾ ئي اها تنبيھ ڪري ڇڏي تہ قيامت تائين توهان ٻنهي جي وچ ۾ هڪ ٻئي سان مقابلو جاري رهندو. ابليس انساني نسل کي ورغلائڻ ۾ پنهنجي سڄي ڪوشش ڪندو، ان جي جواب ۾ انسان کي اهو ڪرڻو آهي تہ هو پنهنجو سيني کان وڌو دشمن ابليس کي سمجهي ۽ ان جي وسوسن کان آخري حدتائين پري رهڻ جي ڪوشش ڪري.

انسان جي وڌيڪ هدايت لاءِ الله تعاليٰ اهو انتظام ڪيو جو مسلسل پنهنجا پيغمبر موڪليا، جيڪي انسان جي قابل فهم زبان ۾ ان کي زندگي جي حقيقت کان باخبر ڪندا رهيا. هاڻي انسان جي ڪاميابي ۽ ناڪامي جو دارومدار ان تي آهي تہ هو پيغمبر جي هدايت کي مڃي ٿو يا نہ ٿو مڃي، جيڪو ماڻهو ان کي مڃيندو ان کي ٻيهر جنت جي راحت سان ڀريل زندگي ڏني ويندي ۽ جيڪو شخص نہ مڃيندو، ان جي زندگي سخت ترين زندگي هوندي، جنهن مان هو ڪڏهن بہ نڪري نہ سگهندو.

هدايت کان منهن موڙڻ وارا ماڻهو آخرت ۾ اهڙي طرح اٿندا جو هو ٻنهي اکين کان انڌا هوندا. ان جو سبب اهو آهي تہ انهن کي اکيون ان ڪري ڏنيون ويون هيون جو هو الله تعاليٰ جي نشانين کي ڏسي انهن کي سڃاڻين، پر سندن حال اِهو ٿيو جو انهن جي سامهون الله جون نشانيون آيون ۽ انهن نشانين کي نہ سڃاتو. اهڙي طرح انهن ثابت ڪيو تہ اهي اکيون هوندي بہ انڌا آهن. پوءِ خدا فرمائيندو تہ اهڙن انڌن کي اکيون ڏيڻ جي ڪهڙي ضرورت.

اَفَلَمْ يَهْدِ لَهُمْ كَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنَ الْقُرُوْنِ يَمْشُوْنَ فِيْ مَسٰكِنِهِمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ
ع ٧ ١٣ ١٦ لَاٰيٰتٍ لِّاُولِي النُّهٰى ﴿١٢٨﴾ وَ لَوْ لَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَكَانَ لِزَامًا وَّ اَجَلٌ مُّسَمًّى ﴿١٢٩﴾
فَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَ سَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ قَبْلَ طُلُوْعِ الشَّمْسِ وَ قَبْلَ غُرُوْبِهَا ۚ وَ مِنْ
اٰنَآئِ الَّيْلِ فَسَبِّحْ وَ اَطْرَافَ النَّهَارِ لَعَلَّكَ تَرْضٰى ﴿١٣٠﴾

ڇا ماڻهن کي ان ڳالھ مان سمجھ نہ آئي تہ انهن کان اڳ ۾ اسان ڪيترائي گروھ هلاڪ ڪري ڇڏيا. هي سندن بستين ۾ هلن ٿا. بيشڪ ان ۾ عقل وارن لاءِ وڏيون نشانيون آهن ۽ جيڪڏهن تنهنجي رب طرفان هڪ ڳالھ پهرين طي ٿيل نہ هجي ها ۽ مهلت جو هڪ وقت مقرر نہ هجي ها تہ ضرور سندن فيصلو ڪري ڇڏجي ها. تنهن ڪري جيڪو هي چون ٿا، ان تي صبر ڪر ۽ پنهنجي رب جي حمد سان ان جي تسبيح ڪر. سج اڀرڻ کان اڳ ۾ ۽ ان جي لهڻ کان اڳ ۾ ۽ رات جي وقت ۾ بہ تسبيح ڪر ۽ ڏينهن جي ڇيڙن تي بہ، تہ جيئن تون راضي ٿي وڃين. ١٢٨-١٣٠

---

ڪنهن قوم کي زمين تي عروج حاصل هجي ۽ پوءِ اها هلاڪ يا مغلوب ڪئي وڃي تہ ان جو سبب هميشہ اهو هوندو آهي جو اها بندگي جي حد کان لنگهي ويئي. هر تباھ ٿيل قوم پاڻ کان پوءِ اچڻ وارن لاءِ عبرت جو درس هوندي آهي، پر تمام گهٽ ماڻهو آهن جيڪي اهڙي طرح جي واقعن مان

نصيحت حاصل ڪندا هجن.

هتي تسبيح ۽ نماز جي جيڪا تلقين ڪئي وئي آهي. اها مڪي دور جي انتهائي سخت حالتن ۾ ڪئي وئي هئي. ان مان اندازو ٿيندو آهي ته انڪار ۽ مخالفت جي سخت حالتن ۾ نماز ۽ الله تعاليٰ جي ياد مؤمن جي ڍال آهن، ان سان راهون آسان ٿينديون آهن ۽ فتح جا دروازا کلندا آهن، ان سان سڀ ڪجهه ايڏي وڏي پيماني تي ملي ويندو آهي جو ماڻهو ان کي حاصل ڪري راضي ٿي وڃي.

وَ لَا تَمُدَّنَّ عَيۡنَيۡكَ اِلٰى مَا مَتَّعۡنَا بِهٖۤ اَزۡوَاجًا مِّنۡهُمۡ زَهۡرَةَ الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا ۙ لِنَفۡتِنَهُمۡ
فِيۡهِ ؕ وَ رِزۡقُ رَبِّكَ خَيۡرٌ وَّ اَبۡقٰى ﴿۱۳۱﴾ وَ اۡمُرۡ اَهۡلَكَ بِالصَّلٰوةِ وَ اصۡطَبِرۡ عَلَيۡهَا ؕ لَا نَسۡـَٔلُكَ
رِزۡقًا ؕ نَحۡنُ نَرۡزُقُكَ ؕ وَ الۡعَاقِبَةُ لِلتَّقۡوٰى ﴿۱۳۲﴾

۽ هرگز انهن شين ڏانهن اک کڻي به نه نهار، جيڪي اسان انهن جي ڪن ٽولن کي سندن آزمائش لاءِ ڏنيون آهن ۽ تنهنجي رب جو رزق وڌيڪ بهتر آهي ۽ باقي رهڻ وارو آهي ۽ پنهنجي ماڻهن کي نماز جو حڪم ڏي ۽ ان جو پابند رهه. اسان توکان ڪو رزق نه ٿا گهرون، رزق ته توکي اسان ڏينداسون ۽ بهتر انجام ته تقويٰ ئي جي لاءِ آهي. ١٣١-١٣٢

---

هنن آيتن جو خطاب جيتوڻيڪ بظاهر پيغمبر سان آهي، پر ان جا مخاطب سڀ ايمان وارا آهن، دنيا ۾ هڪ ماڻهو ايمان ۽ دعوت واري زندگي اختيار ڪري ٿو. ان جي نتيجي ۾ ان جي زندگي مشقتن جي زندگي بڻجي ويندي آهي، ٻئي پاسي اهو حال آهي ته جيڪي ماڻهو ان قسم جي ذميدارين کان آزاد آهن، اهي آرام ۽ راحت ۾ پنهنجا صبح ۽ شام گذاري رهيا آهن، اهڙي صورتحال کي نمايان ڪري شيطان ماڻهو جي دل ۾ وسوسو وجهندو آهي. هو مؤمن ۽ داعي کي ورغلائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳندو آهي.

جيڪڏهن گهرائي سان ڏسجي ته ان ظاهري فرق جي اڳيان هڪ ٻيو فرق به آهي ۽ اهو فرق وڌيڪ قابل لحاظ آهي. اهو فرق اهو آهي ته دنيا پرست ماڻهن کي جيڪا شيءِ ملي آهي، اها رڳو امتحان لاءِ آهي ۽ سراسر وقتي آهي. ان ڪان پوءِ هميشه واري زندگي ۾ انهن لاءِ ڪجهه به نه آهي، ٻئي پاسي مؤمن ۽ داعي کي الله تعاليٰ سان جڙڻ جي نتيجي ۾ جيڪا شيءِ ملي آهي. اها دنيا جي سيني شين کان وڌيڪ قيمتي آهي، اها آهي الله جي ياد، آخرت جو فڪر، عبادت ۽ تقويٰ جي زندگي، الله تعاليٰ جي ٻانهن کي آخرت جي پڪڙ کان بچائڻ لاءِ فڪرمند ٿيڻ. اهو به سڀ رزق آهي ۽ اهو وڌيڪ اعليٰ رزق آهي، ڇاڪاڻ ته اهو آخرت ۾ اهڙين بي حساب نعمتن جي شڪل ۾ ماڻهو ڏانهن موٽندو، جيڪي ڪڏهن به ختم ٿيڻ واريون نه آهن.

وَ قَالُوۡا لَوۡ لَا يَاۡتِيۡنَا بِاٰيَةٍ مِّنۡ رَّبِّهٖ ؕ اَوَ لَمۡ تَاۡتِهِمۡ بَيِّنَةُ مَا فِى الصُّحُفِ الۡاُوۡلٰى ﴿۱۳۳﴾ وَ لَوۡ اَنَّاۤ
اَهۡلَكۡنٰهُمۡ بِعَذَابٍ مِّنۡ قَبۡلِهٖ لَقَالُوۡا رَبَّنَا لَوۡ لَاۤ اَرۡسَلۡتَ اِلَيۡنَا رَسُوۡلًا فَنَتَّبِعَ اٰيٰتِكَ مِنۡ
قَبۡلِ اَنۡ نَّذِلَّ وَ نَخۡزٰى ﴿۱۳۴﴾ قُلۡ كُلٌّ مُّتَرَبِّصٌ فَتَرَبَّصُوۡا ۚ فَسَتَعۡلَمُوۡنَ مَنۡ اَصۡحٰبُ
ع ٨ ١٧ الصِّرَاطِ السَّوِىِّ وَمَنِ اهۡتَدٰى ﴿۱۳۵﴾

۾ ماڻهو چون ٿا ته هي پنهنجي رب وٽان اسان لاءِ ڪا نشاني ڇو نه ٿو آڻي. ڇا انهن کي اڳين ڪتابن جا دليل نه پهتا ۾ جيڪڏهن اسان انهن کي ان کان اڳ ڪنهن عذاب ۾ هلاڪ ڪري ڇڏيون ها ته هو چون ها ته اي اسان جا رب! تو اسان وٽ رسول ڇو نه موڪليو جو اسان ذليل ۽ رسوا ٿيڻ کان اڳ تنهنجن نشانين جي پيروي ڪريون ها. چؤ ته سڀئي پيا انتظار ڪن سو توهان به انتظار ڪريو. جلد ئي توهان ڄاڻي وٺندو ته ڪير سڌي راهه وارو آهي ۽ ڪير هدايت وارو ٿيو. ١٣٣-١٣٥

---

پيغمبر آخرالزمانﷺ جي رسالت کان پهرين الله تعاليٰ اهو اهتمام ڪيو ته اڳين نبين جي زبان مان پاڻﷺ جي آمد جو اڳواٽ اعلان ڪيو. اهي اڳڪٿيون اڄ به سڀني تحريفن جي باوجود اڳين آسماني ڪتابن ۾ موجود آهن. اهي پيغمبر آخرالزمانﷺ جي صداقت جو سڀني کان وڏو دليل هيون. پر دليل جي طاقت کي سمجهڻ لاءِ سنجيدگي جي ضرورت هوندي آهي ۽ اِها اُها شيءِ آهي جيڪا هميشه سڀني کان گهٽ نظر ايندي آهي.

(٢١) سُوۡرَةُ الۡاَنۡبِيَآءِ مَكِّيَّةٌ (٧٣) — اٰيَاتُهَا ١١٢ — رُكُوۡعَاتُهَا ٧

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الجزء السابع عشر (١٧)

اِقۡتَرَبَ لِلنَّاسِ حِسَابُهُمۡ وَ هُمۡ فِيۡ غَفۡلَةٍ مُّعۡرِضُوۡنَ ۚ﴿۱﴾ مَا يَاۡتِيۡهِمۡ مِّنۡ ذِكۡرٍ مِّنۡ رَّبِّهِمۡ
مُّحۡدَثٍ اِلَّا اسۡتَمَعُوۡهُ وَ هُمۡ يَلۡعَبُوۡنَ ۙ﴿۲﴾ لَاهِيَةً قُلُوۡبُهُمۡ ؕ وَ اَسَرُّوا النَّجۡوَى ٭ۖ الَّذِيۡنَ
ظَلَمُوۡا ٭ۖ هَلۡ هٰذَاۤ اِلَّا بَشَرٌ مِّثۡلُكُمۡ ۚ اَفَتَاۡتُوۡنَ السِّحۡرَ وَ اَنۡتُمۡ تُبۡصِرُوۡنَ ﴿۳﴾ قٰلَ رَبِّيۡ
يَعۡلَمُ الۡقَوۡلَ فِي السَّمَآءِ وَ الۡاَرۡضِ ۫ وَ هُوَ السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ ﴿۴﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

ماڻهن لاءِ سندن حساب ويجهو اچي پهتو ۽ اهي غفلت ۾ منهن موڙي رهيا آهن. سندن رب طرفان جيڪا به نئين نصيحت انهن وٽ ايندي آهي، هو ان کي ٺٺوليون ڪندي ٻڌندا آهن. سندن دليون غفلت ۾ پيل آهن ۽ ظالم پاڻ ۾ ڳجهيون صلاحون ڪندا آهن ته هي شخص توهان جهڙو ئي هڪ ماڻهو آهي، پوءِ توهان ڇو ڏسي وائسي ان جي جادو ۾ ڦاسو ٿا. رسول چيو ته منهنجو رب هر ڳالهه کي ڄاڻي ٿو. چاهي اها آسمان ۾ هجي يا زمين ۾ ۽ هو ٻڌڻ وارو ڄاڻڻ وارو آهي. ١-٤

---

هر ماڻهو جيڪو دنيا ۾ آهي، اهو زندگي کان وڌيڪ موت جي ويجهو آهي. ان لحاظ کان هر ماڻهو پنهنجي حساب جي ڏينهن جي ڪناري تي بيٺو آهي. پر انسان جو حال اهو آهي ته هو ڪنهن به نصيحت تي توجهه نه ٿو ڏي. چاهي اها پيغمبر ذريعي ڪرائي وڃي يا غير پيغمبر جي ذريعي سان. حق جي داعي جي ڳالهه کي هو رڳو ”هڪ انسان“ جي ڳالهه چئي نظرانداز ڪري ڇڏيندو آهي.
رسول اللهﷺ مڪي ۾ جڏهن قرآن جي ذريعي دعوت شروع ڪئي ته قرآن جو خدائي ڪلام

ماڻهن جي دلين کي فتح ڪرڻ لڳو، اها اتي جي سردارن لاءِ وڏي سخت ڳالهه هئي. ڇاڪاڻ ته ان ڪري سندن اڳواڻي خطري ۾ پئجي رهي هئي. قرآن توحيد جي دعوت پئي ڏني ۽ مڪي جا سردار شرڪ تي پنهنجي سرداري قائم ڪيل هئا، انهن ماڻهن جي ذهنن کي توحيد کان هٽائڻ لاءِ ايئن ڪيو جو ماڻهن کي چوڻ لڳا ته هن ڪلام ۾ بظاهر جيڪا تاثير توهان ڏسي رهيا آهيون، اها ان ڪري نه آهي جو اُهو خدا جو ڪلام آهي. ان جو زور صداقت جو زور نه آهي، بلڪ جادو جو زور آهي، اهو جادو جو معاملو آهي نه وري آسماني ڪلام جو معاملو.

اهڙي قسم جي ڳالهه چوڻ وارا ماڻهو جيتوڻيڪ الله تعاليٰ جو نالو وٺندا آهن، پر انهن کي يقين نه هوندو آهي ته خدا انهن کي ڏسي ۽ ٻڌي رهيو آهي. جيڪڏهن انهن کي خدا جي عالم الغيب هجڻ جو يقين هجي ها ته هو اهڙي غيرسنجيده ڳالهه هرگز پنهنجي زبان مان نه ڪڍن ها .

بَلۡ قَالُوۡۤا اَضۡغَاثُ اَحۡلَامٍۭ بَلِ افۡتَرٰىهُ بَلۡ هُوَ شَاعِرٌ ۚۖ فَلۡيَاۡتِنَا بِاٰيَةٍ كَمَاۤ اُرۡسِلَ الۡاَوَّلُوۡنَ ۝۵ مَاۤ اٰمَنَتۡ قَبۡلَهُمۡ مِّنۡ قَرۡيَةٍ اَهۡلَكۡنٰهَا ۚ اَفَهُمۡ يُؤۡمِنُوۡنَ ۝۶

بلڪ هو چوندا آهن اهو (قرآن) اجاين خيالن جو مجموعو آهي. بلڪ هن انهن کي گهڙي ورتو آهي. بلڪ هو هڪ شاعر آهي. ڪيس گهرجي ته اسان وٽ ڪا اهڙي نشاني آڻي جهڙي نشانين سان گڏ اڳيان رسول موڪليا ويا هئا. انهن کان اڳين وسندين جي ماڻهن جن کي اسان هلاڪ ڪيو، ايمان نه آندو هو ته پوءِ ڇا اهي ماڻهو ايمان آڻيندا. ٥-٦

---

حق جو داعي هميشه حق جي دعوت کي دليل جي زور تي پيش ڪندو آهي. مخالف جڏهن ڏسندا آهن ته هو دليل سان ان جو ٽوڙ نٽا ڪري سگهن ته هو طرح طرح جون ڳالهيون ڪري عوام کي ان کان پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. مثال طور ته هي شاعراڻو ڪلام آهي. هي ادبي جادوگري آهي، هي هڪ ديواني جا خيال آهن، هي پنهنجون هٿ ٺوڪيل ڳالهيون آهن وغيره. رسول اللهﷺ ڇاڪاڻ ته مڪي وارن جي سامهون ڪو ظاهري معجزو نه ڏيکاريو هو، ان ڪري پاڻﷺ جي رسالت کي مشڪوڪ ڪرڻ لاءِ هو اهو به چوندا هئا ته هي جيڪڏهن الله جو موڪليل آهي ته اڳين پيغمبرن وانگر خدا وٽان ڪو معجزو ڇو نه ٿو آڻي.

پر تاريخ جو تجربو ٻڌائي ٿو ته جيڪي ماڻهو دليل سان ڳالهه کي نه مڃين سي معجزي کي ڏسي به ان کي مڃڻ لاءِ تيار نه ٿا ٿين، ان ڪري ماڻهن سان خيرخواهي اها آهي ته دليل جي زبان ۾ انهن کي نصيحت جاري رکي وڃي نه وري معجزو ڏيکاري انهن تي حجت پوري ڪري ڇڏجي، ڇاڪاڻ ته معجزي کان پوءِ نه مڃڻ جي صورت ۾ ٻيو مرحلو صرف هلاڪت هوندو آهي.

وَ مَاۤ اَرۡسَلۡنَا قَبۡلَكَ اِلَّا رِجَالًا نُّوۡحِیۡۤ اِلَيۡهِمۡ فَسۡـَٔلُوۡۤا اَهۡلَ الذِّكۡرِ اِنۡ كُنۡتُمۡ لَا تَعۡلَمُوۡنَ ۝۷ وَ مَا جَعَلۡنٰهُمۡ جَسَدًا لَّا يَاۡكُلُوۡنَ الطَّعَامَ وَ مَا كَانُوۡا خٰلِدِيۡنَ ۝۸ ثُمَّ صَدَقۡنٰهُمُ الۡوَعۡدَ فَاَنۡجَيۡنٰهُمۡ وَ مَنۡ نَّشَآءُ وَ اَهۡلَكۡنَا الۡمُسۡرِفِيۡنَ ۝۹

۽ توکان اڳ ۾ به جن کي اسان رسول بڻائي موڪليو، ماڻهن منجهان ئي موڪليو. اسان انهن ڏانهن وحي موڪليندا هئاسون، پوءِ توهان اهل ڪتاب کان پڇي وٺو جيڪڏهن توهان نٿا ڄاڻو ۽ اسان رسولن کي اهڙا جسم نه ڏنا جو هو طعام نه کائيندا هجن ۽ اُهي هميشه رهڻ وارا نه هئا. پوءِ اسان انهن سان واعدو پورو ڪيو. پوءِ انهن کي ۽ جنهن کي اسان چاهيو بچائي ورتو ۽ اسان حد کان لنگهڻ وارن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو. ٧-٩

---

جيڪي ماڻهو اهو چئي پيغمبر جو انڪار ڪندا هئا ته هي ته اسان وانگر هڪ انسان آهي، انهن کي چيو ويو جيڪڏهن توهان پنهنجي ان اعتراض ۾ سنجيده آهيو ته توهان لاءِ معاملي کي سمجهڻ ڪو مشڪل نه آهي، ڪيترين ئي گذريل هستيون جن کي توهان پيغمبر تسليم ڪريو ٿا، انهن کي ڄاڻڻ وارا موجود آهن، پوءِ انهن ڄاڻڻ وارن کان تحقيق ڪري وٺو ته اهي پيغمبر انسان هئا يا غير انسان. جيڪڏهن اهي انسان هئا ته موجوده پيغمبر کي توهان رڳو ان ڪري ڪيئن رد ڪري سگهو ٿا جو هو ماءُ پيءُ جي ذريعي عام انسان وانگر پيدا ٿيو آهي.

اڳين پيغمبرن جي تاريخ اهو به ٻڌائي ٿي ته سندن اقرار يا انڪار ماڻهن لاءِ صرف سادي قسم جو اقرار يا انڪار نه هو. ان انڪار يا اقرار ٻنهي جماعتن لاءِ واضح طور تي الڳ الڳ نتيجا پيدا ڪيا. اقرار ڪرڻ وارن نجات پاتي ۽ انڪار ڪرڻ وارا هلاڪ ڪيا ويا. ان ڪري ان معاملي ۾ توهان کي انتهائي سنجيده هئڻ گهرجي.

لَقَدْ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكُمْ كِتٰبًا فِيْهِ ذِكْرُكُمْ ۭ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ۝ۧ وَكَمْ قَصَمْنَا مِنْ قَرْيَةٍ كَانَتْ
ظَالِمَةً وَّاَنْشَاْنَا بَعْدَهَا قَوْمًا اٰخَرِيْنَ ۝ فَلَمَّآ اَحَسُّوْا بَاْسَنَآ اِذَا هُمْ مِّنْهَا يَرْكُضُوْنَ ۝ؕ
لَا تَرْكُضُوْا وَارْجِعُوْٓا اِلٰى مَآ اُتْرِفْتُمْ فِيْهِ وَمَسٰكِنِكُمْ لَعَلَّكُمْ تُسْـَٔلُوْنَ ۝ قَالُوْا
يٰوَيْلَنَآ اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ۝ فَمَا زَالَتْ تِّلْكَ دَعْوٰىهُمْ حَتّٰى جَعَلْنٰهُمْ حَصِيْدًا خٰمِدِيْنَ ۝

اسان اوهان ڏانهن هڪ ڪتاب نازل ڪيو آهي. جنهن ۾ اوهان لاءِ نصيحت آهي، پوءِ ڇا توهان سمجهو نه ٿا ۽ ڪيترين ئي ظالم وسنديون آهن، جن کي اسان ناس ڪيوسون ۽ انهن کان پوءِ ٻين قومن کي اٿاريو سون. پوءِ جڏهن انهن اسان جي عذاب کي ايندي ڏٺو ته هو ان کان ڀڄڻ لڳا. نه ڀڄو ۽ پنهنجي عيش جي سامان ڏانهن ۽ پنهنجن گهرن ڏانهن واپس موٽو، ته جيئن توهان کان پڇيو وڃي، انهن چيو هاءِ اسان جي بدبختي. بيشڪ اسان ظالم هئاسون. پوءِ هو اهوئي پڪاريندا رهيا، ايستائين جو اسان انهن کي اهڙو ڪري ڇڏيو جيئن لٽيل کيتي ۽ وساميل باهه. ١٠-١٥

---

الله تعاليٰ جو ڪتاب عام معنيٰ ۾ صرف هڪ ڪتاب نه آهي، بلڪ اها هڪ نصيحت آهي ۽ اها ان ڳالهه جي سمجهاڻي آهي ته موجوده دنيا ۾ انسان جو اچڻ اتفاق سان نه آهي، بلڪ اهو هڪ خدائي منصوبو آهي ۽ اهو منصوبو هي آهي ته انسان کي آزمائڻ لاءِ وقتي آزادي ڏني وڃي، ان کان پوءِ ماڻهو جهڙو عمل ڪري ان جي مطابق ان کي بدلو ڏنو وڃي، ان حقيقت جو جزوي ظهور ظالم قومن جي هلاڪت جي صورت ۾ بار بار ٿيندو رهندو آهي ۽ ان جو پورو ظهور قيامت ۾ ٿيندو. جڏهن سيني اڳين ۽ پوئين انسانن کي ٻيهر پيدا ڪري جمع ڪيو ويندو.

جڏهن الله تعاليٰ جي پڪڙ ظاهر ٿيندي آهي ته اهي سڀئي مادي ساز و سامان ماڻهو کي مصيبت لڳندا آهن، جن جي ڪري ان کان پهرين هو حق جي دعوت کي نظرانداز ڪري ڇڏيندو هو. مادي سامان جيستائين ساٿ نه ڇڏي ڏي، ماڻهو غفلت مان نڪرڻ لاءِ تيار نه ٿو ٿئي ۽ جڏهن اهو سامان ان جو ساٿ ڇڏي ڏي، ان وقت ان جي اک کلي ويندي آهي، پر ان وقت اک جو کلڻ ان جي ڪم نه ٿو اچي، ڇاڪاڻ ته ان وقت سڀئي شيون پنهنجي طاقت وڃائي چڪيون هونديون آهن. ان کان پوءِ صرف الله تعاليٰ ئي ڪنهن جي ڪم اچي ٿو نه وري ڪوڙا معبود.

وَ مَا خَلَقۡنَا السَّمَآءَ وَ الۡاَرۡضَ وَ مَا بَيۡنَهُمَا لٰعِبِيۡنَ﴿۱۶﴾ لَوۡ اَرَدۡنَاۤ اَنۡ نَّتَّخِذَ لَهۡوًا لَّاتَّخَذۡنٰهُ مِنۡ لَّدُنَّاۤ ٭ۖ اِنۡ كُنَّا فٰعِلِيۡنَ﴿۱۷﴾ بَلۡ نَقۡذِفُ بِالۡحَقِّ عَلَى الۡبَاطِلِ فَيَدۡمَغُهٗ فَاِذَا هُوَ زَاهِقٌ ؕ وَ لَكُمُ الۡوَيۡلُ مِمَّا تَصِفُوۡنَ﴿۱۸﴾

۽ اسان آسمان ۽ زمين کي ۽ جيڪو ڪجھ انهن جي وچ ۾ آهي راند طور نه بڻايو آهي. جيڪڏهن اسان کي ڪا راند ٺاهڻي هجي ها ته ان کي اسان پاڻ وٽ ئي ٺاهي وٺون ها. جيڪڏهن اسان کي اهو ڪرڻو هجي ها. بلڪ اسان حق کي باطل تي هڻنداسون ته هو ان جو مٿو ڀڃي ڇڏيندو ۽ باطل اتي جو اُتي ڇٽ ٿي ويندو ۽ توهان لاءِ انهن ڳالهين ۾ وڏي خرابي آهي جيڪي توهان بيان ڪندا آهيو. ۱۶-۱۸

---

جيڪي ماڻهو الله جي دعوت جي باري ۾ سنجيده نه هجن، اهي ڄڻ ته موجوده دنيا کي هڪ قسم جو خدائي رانديڪو سمجهن ٿا. جنهن جو وقتي تفريح کان سواءِ ٻيو ڪو مقصد نه هجي، پر موجوده دنيا پنهنجي بي پناهه حڪمت ۽ سمجهاڻي سان گڏ پنهنجي خالق جو تعارف ڪرائي ٿي. ان لحاظ کان اهو ناممڪن معلوم ٿيندو آهي ته ان جو خالق ڪو اهڙو خدا هجي، جنهن هن دنيا کي رڳو راند لاءِ بڻايو هجي.

موجوده دنيا ۾ انسان جهڙي انوکي مخلوق آهي. جنهن جي فطرت ۾ حق ۽ باطل جي تميز رکي وئي آهي. دنيا ۾ اهڙي مخلوق جو هجڻ جيڪا هڪ طريقي کي حق ۽ ٻئي طريقي کي باطل سمجهي ۽ پوءِ حق ۽ باطل جي نالي تي بار بار مقابلي جو پيش اچڻ ظاهر ڪري ٿو ته هتي ڪو اهڙو وقت اچڻ وارو آهي، جڏهن مڪمل طورتي اها ڳالهه پڌري ٿي ويندي ته حقيقت ۾ حق ڇا هو ۽ باطل ڇا هو ۽ پوءِ جنهن حق جو ساٿ ڏنو هجي، ان کي ڪاميابي حاصل ٿئي ۽ جنهن حق جو ساٿ نه ڏنو هجي، اهو ناڪام ڪيو وڃي. جنهن دنيا ۾ اهڙو ”پٿر“ هجي جيڪو هڪ ماڻهو جو ”مٿو“ ڀڃي ڇڏي، اتي ڇا اهڙو حق نه هوندو جيڪو باطل کي باطل ثابت ڪري سگهي.

وَ لَهٗ مَنۡ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ ؕ وَ مَنۡ عِنۡدَهٗ لَا يَسۡتَكۡبِرُوۡنَ عَنۡ عِبَادَتِهٖ وَ لَا يَسۡتَحۡسِرُوۡنَ﴿۱۹﴾ۚ يُسَبِّحُوۡنَ الَّيۡلَ وَ النَّهَارَ لَا يَفۡتُرُوۡنَ﴿۲۰﴾

۽ ان ئي جو آهي جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي ۽ جيڪي ان وٽ آهن. اهي ان جي عبادت کان نه سرڪشي ڪندا آهن ۽ نه سستي ڪندا آهن. اُهي رات ڏينهن ان کي ياد ڪندا آهن، ڪڏهن نه ٿڪندا آهن. ۱۹-۲۰

---

زمين ۽ آسمان جي هر شيءِ مخلوق آهي. هر شيءِ اهوئي ڪندي آهي جنهن جو ان کي مٿان حڪم ڏنو ويو هجي. سڄي ڪائنات ۾ رڳو انسان آهي جيڪو سرڪشي ڪندو آهي. جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ کي نہ ٿا مڃين، اهي اهو چئي سرڪشي ڪندا آهن تہ اسان جي مٿان ڪو مالڪ ۽ حاڪم نہ آهي، اسان آزاد آهيون جيڪو چاهيون سو ڪريون.

جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ کي مڃيندا آهن. اهي بہ سرڪشي ڪندا آهن، البتہ انهن وٽ پنهنجي سرڪشي جو سبب ٻيو هوندو آهي. اهي الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي پنهنجي شفاعت ڪرڻ وارو ۽ وسيلو مڃي وٺندا آهن. هو ڪنهن کي الله تعاليٰ جو مقرب مڃي، اهو فرض ڪري وٺندا آهن تہ اسان انهن لاءِ عقيدت ۽ احترام جو اظهار ڪندا رهون تہ هو الله تعاليٰ وٽ اسان لاءِ نجات جي سفارش ڪري ڇڏيندا. ڪجھ ماڻهو فرشتن کي پنهنجو شفاعت ڪندڙ ۽ وسيلو مڃي وٺندا آهن ۽ ڪجھ ماڻهو ڪن ٻين هستين کي.

پر ان قسم جا سڀئي نظريا آخري حدتائين باطل آهن ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي اها نگاهہ حاصل هجي جو هو ڪائناتي سطح تي حقيقت کي ڏسي سگهي تہ هو ڏسندو تہ اهي فرض ڪيل هستيون پاڻ الله تعاليٰ جي هيبت کان ان جي اڳيان جهڪيل آهن ۽ انسان سندن نالن تي دنيا ۾ سرڪش بڻيو ويٺو آهي.

اَمِ اتَّخَذُوۡۤا اٰلِهَةً مِّنَ الۡاَرۡضِ هُمۡ يُنۡشِرُوۡنَ ﴿٢١﴾ لَوۡ كَانَ فِيۡهِمَاۤ اٰلِهَةٌ اِلَّا اللّٰهُ لَفَسَدَتَا ۚ فَسُبۡحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ الۡعَرۡشِ عَمَّا يَصِفُوۡنَ ﴿٢٢﴾ لَا يُسۡـَٔلُ عَمَّا يَفۡعَلُ وَهُمۡ يُسۡـَٔلُوۡنَ ﴿٢٣﴾

ڇا انهن زمين ۾ معبود ڪري ورتا آهن، جيڪي ڪنهن کي زنده ڪندا هجن. جيڪڏهن انهن ٻنهي ۾ الله کان سواءِ معبود هجن ها تہ ٻنهي جو نظام درهم برهم ٿي وڃي ها. پوءِ الله، عرش جو مالڪ انهن ڳالهين کان پاڪ آهي، جيڪي اهي ماڻهو بيان ڪن ٿا. هو جيڪو ڪجھ ڪندو آهي، ان لاءِ ڪائنس پڇا نہ ڪئي ويندي ۽ انهن کان پڇاڻو ٿيندو. ٢١-٢٣

---

زمين باقي ڪائنات کان الڳ نہ آهي. اها وسيع ڪائنات سان مسلسل جڙيل آهي زمين تي زندگي ۽ ساوڪ ان وقت تائين ممڪن هوندي آهي، جيستائين باقي ڪائنات ان سان گڏ پوري طرح ملي ڪم ڪري، زمين ۽ آسمان جو اهو گڏيل عمل ثابت ڪري ٿو تہ زمين ۽ آسمان جو انتظام هڪ ئي هستي جي هٿ ۾ آهي، جيڪڏهن هو ٻين جي هٿ ۾ هجي ها تہ يقيناً ٻنهي جي وچ ۾ ٽڪراءُ ٿئي ها ۽ زمين تي موجوده زندگي جو قيام ممڪن نہ ٿئي ها.

ڪائنات پنهنجي بامعنيٰ ۽ بي پناهہ عظمت سان گڏ پنهنجي جنهن خالق جو تعارف ڪرائي ٿي، اهو يقيني طور تي اهڙو خدا آهي جيڪو هر قسم جي ڪمين کان بلڪل پاڪ آهي. اهو موجوده ڪائنات جو غلط اندازو لڳائڻ آهي جو ان جو خالق هڪ اهڙي هستي کي مڃيو وڃي، جنهن سان گڏ ڪميون ۽ ڪمزوريون پڻ لڳل هجن.

اَمِ اتَّخَذُوۡا مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اٰلِهَةً ؕ قُلۡ هَاتُوۡا بُرۡهَانَكُمۡ ۚ هٰذَا ذِكۡرُ مَنۡ مَّعِىَ وَ ذِكۡرُ مَنۡ

قَبْلِيْ ؕ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ۙ الْحَقَّ فَهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٢٤﴾ وَ مَاۤ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ مِنْ
رَّسُوْلٍ اِلَّا نُوْحِيْۤ اِلَيْهِ اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّاۤ اَنَا فَاعْبُدُوْنِ ﴿٢٥﴾

ڇا انهن الله کان سواءِ ٻيا معبود بڻايا آهن. کين چئُ تہ توهان پنهنجا دليل آڻيو. اهائي ڳالھ انهن ماڻهن جي آهي، جيڪي مون سان گڏ آهن ۽ اهائي ڳالھ انهن ماڻهن جي بہ آهي، جيڪي مون کان اڳ هئا. بلڪ انهن مان اڪثر حق کي نہ ٿا ڄاڻن. تنهن ڪري اهي منهن موڙي رهيا آهن ۽ اسان توکان اڳ ۾ ڪو اهڙو پيغمبر نہ موڪليو جنهن ڏانهن اسان وحي نہ ڪيو هجي تہ مون کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي. تنهن ڪري توهان منهنجي عبادت ڪريو. ٢٤-٢٥

---

هڪ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيا معبود فرض ڪرڻ ڪنهن حقيقي دليل جي بنياد تي نہ آهن، بلڪ سراسر لاعلمي جي بنياد تي آهن. جيڪي ماڻهو الله لاءِ شريڪ مڃيندا آهن، انهن وٽ پنهنجي شرڪ جي عقيدي جي حق ۾ ڪو دليل نہ آهي، نہ انساني علم ۾ ۽ نہ آسماني وحي ۾. اهي توحيد جا دليل ٻڌي انهن کان منهن موڙيندا آهن تہ ان جو سبب انهن جو پنهنجي دليل تي يقين نہ هوندو آهي! بلڪ ان جو سبب رڳو سندن تعصب آهي، پنهنجي تعصب جي مزاج جي ڪري اهي پنهنجي عقيدي ۾ ايترو پختو ٿي ويا آهن جو دليل جي لحاظ کان بي حقيقت هئڻ جي باوجود هو ان کي ڇڏڻ تي راضي نہ ٿا ٿين.

وَ قَالُوا اتَّخَذَ الرَّحْمٰنُ وَلَدًا سُبْحٰنَهٗ ؕ بَلْ عِبَادٌ مُّكْرَمُوْنَ ﴿٢٦﴾ لَا يَسْبِقُوْنَهٗ بِالْقَوْلِ وَ
هُمْ بِاَمْرِهٖ يَعْمَلُوْنَ ﴿٢٧﴾ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَ مَا خَلْفَهُمْ وَ لَا يَشْفَعُوْنَ ۙ اِلَّا لِمَنِ
ارْتَضٰى وَ هُمْ مِّنْ خَشْيَتِهٖ مُشْفِقُوْنَ ﴿٢٨﴾ وَ مَنْ يَّقُلْ مِنْهُمْ اِنِّيْۤ اِلٰهٌ مِّنْ دُوْنِهٖ فَذٰلِكَ
ع نَجْزِيْهِ جَهَنَّمَ ؕ كَذٰلِكَ نَجْزِي الظّٰلِمِيْنَ ﴿٢٩﴾

۽ اهي چوندا آهن تہ رحمان اولاد بڻايو آهي. هو ان کان پاڪ آهي. بلڪ (فرشتہ) تہ سڳورا ٻانها آهن. هو ڳالهائڻ ۾ هن کان اڳرائي نہ ڪندا آهن ۽ اهي هن ئي جي حڪم مطابق عمل ڪندا آهن. الله سندن اڳين پوئين احوالن کي ڄاڻي ٿو ۽ اهي سفارش نہ ٿا ڪري سگهن. پر ان جي لاءِ جنهن کي الله پسند ڪري ۽ اُهي سندس هيبت کان ڊڄندا رهندا آهن ۽ انهن مان جيڪو چوندو تہ الله کان سواءِ آئون معبود آهيان تہ اسان ان کي جهنم جي سزا ڏينداسون. اسان ظالمن کي اهڙي ئي سزا ڏيندا آهيون. ٢٦-٢٩

---

هڪ شيءِ کي حق ۽ ٻي شيءِ کي باطل سمجهڻ ماڻهو کان ان جي آزادي کسي وٺي ٿو، ان ڪري انسان هميشہ ان ڪوشش ۾ رهيو آهي تہ هو اهڙو نظريو دريافت ڪري جنهن سان حق ۽ باطل جو فرق مٽجي وڃي، جنهن سان ان کي اطمينان حاصل ٿئي جو هو دنيا ۾ چاهي جهڙي طرح بہ رهي. ان کان اهو نہ پڇيو وڃي تہ تو هيئن ڇو ڪيو ۽ هونئن ڇو نہ ڪيو. غير مذهبي ماڻهن اها تسڪين آخرت جو انڪار ڪري حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ مذهبي ماڻهن شرڪ جي عقيدي ذريعي.

فرشتا هڪ غيبي مخلوق آهن. پيغمبرن جي ذريعي انسان کي فرشتن جي موجودگي جي خبر ڏني وئي، تہ جيئن هو الله تعاليٰ جي قدرت جو احساس ڪري سگهي، پر ان فرشتن کي خدا جون ڌيئرون

ٻڌائي عجيب و غريب طورتي اهو عقيدو گهڙي ورتو تہ هو فرشتن جي ناليءَ تي ڪجهه عبادت جون رسمون ادا ڪندو رهي ۽ اهي آخرت ۾ پنهنجي پيءُ کان سفارش ڪرائي ان جي بخشش ڪرائي ڇڏيندا.

اهڙي قسم جا سڀئي عقيدا الله تعاليٰ جي خدائي جو انڪار آهن، الله تعاليٰ ان ئي ڪري خدا آهي جو هو اهڙين سڀني ڪمزورين کان پاڪ آهي. جيڪڏهن هو اهڙين ڪمزورين ۾ مبتلا هجي ها تہ هو خدا نہ هجي ها.

اَوَ لَمۡ يَرَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اَنَّ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ كَانَتَا رَتۡقًا فَفَتَقۡنٰهُمَا ؕ وَ جَعَلۡنَا مِنَ الۡمَآءِ كُلَّ شَىۡءٍ حَىٍّ ؕ اَفَلَا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۳۰﴾

ڇا انڪار ڪرڻ وارن نہ ڏٺو تہ آسمان ۽ زمين ٻئي بند هئا، پوءِ اسان انهن کي کولي ڇڏيو ۽ اسان پاڻي مان هر جاندار شيءِ کي بڻايو. ڇا پوءِ بہ هو ايمان نہ ٿا آڻين. ٣٠

---

رتق جي معنيٰ ڪنهن شيءِ جو منهن بند (منضم الاجزاءِ) هجڻ آهي ۽ فتق جو مطلب ان جو کُلي وڃڻ آهي، گهڻو ڪري ان مان زمين ۽ آسمان جي اها ابتدائي حالت مراد آهي، جنهن کي موجوده زماني ۾ بگ بينگ نظريو چيو ويندو آهي. جديد سائنسي تحقيق جي مطابق زمين ۽ آسمان جو سڄو مادو شروع ۾ هڪ تمام وڏي گولي (سپر ايٽم) جي صورت ۾ هو. معلوم طبعياتي قانون مطابق ان وقت هن جا سڀئي جز پنهنجي اندروني مرڪز ڏانهن ڇڪجي رهيا هئا ۽ انتهائي قوت سان پاڻ ۾ جڙيل هئا، ان کان پوءِ ان گولي جي اندر هڪ ڌماڪو ٿيو ۽ ان جا جز اوچتو ٻاهرين طرف ڦهلجڻ شروع ٿي ويا. اهڙي طرح آخرڪار اها وسيع ڪائنات نهي وئي، جيڪا اڄ اسان جي سامهون موجود آهي.

ابتدائي مادي گولي (سپر ايٽم) ۾ هي غيرمعمولي واقعو ٻاهرين مداخلت جي بغير نہ ٿو ٿي سگهي، اهڙي طرح ڪائنات جي آغاز جي اها تاريخ واضح طور تي هڪ اهڙي هستي کي ثابت ڪندي آهي، جيڪا ڪائنات جي ٻاهر پنهنجو مستقل وجود رکندي هجي ۽ پنهنجي ذاتي قوت سان ڪائنات تي اثرانداز ٿيندي هجي.

اسان جي دنيا جي هر جاندار شيءِ ۾ سڀني کان وڌيڪ جيڪا شيءِ مليل آهي اهو پاڻي آهي. پاڻي نہ هجي تہ زندگي جو خاتمو ٿي وڃي. اهو پاڻي اسان جي زمين کان سواءِ ٻيو ڪٿي بہ موجود نہ آهي، وسيع ڪائنات ۾ سڀني کان جدا طور تي رڳو هڪ مقام تي پاڻي جو ملڻ واضح طور تي خاص "تخليق" جو ڏس ڏئي ٿو. ڪهڙي نہ عجيب ڳالهہ آهي جو اهڙين پڌرين نشانين کان پوءِ بہ ماڻهو الله تعاليٰ کي نہ ٿو مڃي.

وَ جَعَلۡنَا فِى الۡاَرۡضِ رَوَاسِىَ اَنۡ تَمِيۡدَ بِهِمۡ ۖ وَ جَعَلۡنَا فِيۡهَا فِجَاجًا سُبُلًا لَّعَلَّهُمۡ يَهۡتَدُوۡنَ ﴿۳۱﴾ وَ جَعَلۡنَا السَّمَآءَ سَقۡفًا مَّحۡفُوۡظًا ۚۖ وَّ هُمۡ عَنۡ اٰيٰتِهَا مُعۡرِضُوۡنَ ﴿۳۲﴾ وَ هُوَ الَّذِىۡ خَلَقَ الَّيۡلَ وَ النَّهَارَ وَ الشَّمۡسَ وَ الۡقَمَرَ ؕ كُلٌّ فِىۡ فَلَكٍ يَّسۡبَحُوۡنَ ﴿۳۳﴾

۽ اسان زمين ۾ جبل ٺاهيا، ته جيئن هو انهن کي متان ڏوڏي ۽ ان ۾ اسان ڪشادا رستا بڻايا، ته جيئن ماڻهو واٽ لهن ۽ اسان آسمان کي هڪ محفوظ ڇت بڻايو ۽ اهي ان جي نشانين کان منهن پيا موڙين ۽ اهو ئي آهي جنهن رات ۽ ڏينهن سج ۽ چنڊ بڻايا. سڀ پنهنجي دائري ۾ تري رهيا آهن. ٣١-٣٣

---

هتي زمين جي ڪجھ اهم نشانين جو ذڪر آهي جيڪي انسان کي الله تعاليٰ جي ياد ڏيارين ٿيون، ته جيئن هو ان جو شڪر گذار پاڻهو بڻجي سگهي. انهن ۾ جبلن جا سلسلا آهن جيڪي سمنڊ جي پاڻياٺي مادي کي توازن سان رکڻ لاءِ زمين جي سطح تي هر هنڌ اڀري آيا آهن. ان مان مراد گهڻو ڪري اهائي شيءِ آهي جنهن کي جديد سائنس ۾ زمين جو توازن (Isostasy) چيو وڃي ٿو، اهڙي طرح زمين جو ان قابل هجڻ به هڪ نشاني آهي جو انسان ان تي پاڻ لاءِ رستا ٺاهي سگهي ٿو. ڪٿي سڌي ميدان جي صورت ۾ ڪٿي جبلن جي وچ ۾ رستن جي صورت ۾ ۽ ڪٿي دريائي رستن جي صورت ۾.

آسمان جي ”ڇت“ جيڪا اسان جي مٿانهين فضا آهي، ان جي ٺاهٽي اهڙي طرح آهي جو هو اسان کي سج جي نقصان پهچائڻ وارن شعاعن کان بچائي ٿي، اها شهاب ثاقب جي مسلسل بارش کي اسان تائين پهچڻ کان روڪي ٿي، اهڙي طرح سج ۽ چنڊ جو پاڻ ۾ ٽڪرائڻ کان سواءِ هڪ خاص دائري ۾ ڦيرا ڏيڻ ۽ ان جي ڪري زمين تي ڏينهن ۽ رات جو باقاعدگي سان پيدا ٿيڻ.

اهڙي قسم جون بيشمار نشانيون اسان جي دنيا ۾ آهن. ماڻهو انهن کي غور سان ڏسي ته هو الله جي قدرت ۽ نعمتن جي احساس ۾ غرق ٿي وڃي، پر ماڻهو انهن کي نظرانداز ڪري ڇڏيندو آهي. هو واضح واقعن کي ڏسي به انڌو ۽ ٻوڙو بڻجي رهجي ويندو آهي.

وَ مَا جَعَلْنَا لِبَشَرٍ مِّنْ قَبْلِكَ الْخُلْدَ ؕ اَفَاۡئِنْ مِّتَّ فَهُمُ الْخٰلِدُوْنَ ﴿۳۴﴾ كُلُّ نَفْسٍ ذَآئِقَةُ الْمَوْتِ ؕ وَ نَبْلُوْكُمْ بِالشَّرِّ وَ الْخَيْرِ فِتْنَةً ؕ وَ اِلَيْنَا تُرْجَعُوْنَ ﴿۳۵﴾

۽ اسان توکان اڳ به ڪنهن انسان کي هميشه جي زندگي نه ڏني ته ڇا جيڪڏهن توکي موت اچي وڃي ته هو هميشه رهڻ وارا آهن. هر جان کي موت جو مزو چکڻو آهي ۽ اسان اوهان کي خراب ۽ سٺي حالت سان آزمائيندا آهيون پرکڻ جي لاءِ ۽ اوهان سڀئي اسان ڏانهن موٽايا ويندو. ٣٤-٣٥

---

مڪي ۾ جيڪي ماڻهو رسول الله ﷺ جا مخالف هئا، اُهي وسيلن جي لحاظ کان پاڻ ﷺ کان گهڻا وڌيڪ هئا. انهن کي ان وقت جي ماحول ۾ عزت ۽ وڏائي حاصل هئي. ان فرق جو مطلب سندن ويجهو اهو هو ته اهي حق تي آهن ۽ محمد ﷺ ناحق تي، پر دنياوي شين جي زيادتي ۽ ڪمي حق ۽ ناحق جي بنياد تي نه هوندي آهي، بلڪ صرف امتحان لاءِ هوندي آهي. اها الله تعاليٰ طرفان آزمائش طور آهي. دنياوي سامان حاصل ڪري جيڪڏهن ڪو ماڻهو پاڻ کي وڏو سمجهڻ لڳي ته ڄڻ هو پاڻ کي انهن شين لاءِ نااهل ثابت ڪري رهيو آهي. ان جو نتيجو رڳو اهو آهي ته موت کان پوءِ جي زندگي ۾ ان کي هميشه لاءِ محروم ڪري ڇڏجي.

مڪي جا ماڻهو رسول الله ﷺ کي ناڪام ڪرڻ لاءِ هر قسم جي مخالفاڻين ڪوششن ۾ لڳل هئا، ايستائين جو اهي چاهيندا هئا ته ڪنهن نه ڪنهن طرح پاڻ ﷺ جو خاتمو ڪري ڇڏين، ته جيئن اهو مشن

هميشه لاءِ ختم ٿي وڃي. فرمايو ويو ته پيغمبر جي خلاف اهڙي قسم جون سازشون ڪرڻ وارا ماڻهو ان حقيقت کي وساري ويٺا آهن ته جنهن قبر ۾ هو ٻئي کي داخل ڪرڻ چاهين ٿا، ان ئي قبر ۾ آخرڪار انهن کي پاڻ به داخل ٿيڻو آهي ۽ موت کان پوءِ جڏهن انهن جو ملڻ مالڪ حقيقي سان ٿيندو ته اتي هو ڇا ڪندا؟

وَ اِذَا رَاٰكَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اِنۡ يَّتَّخِذُوۡنَكَ اِلَّا هُزُوًا ؕ اَهٰذَا الَّذِىۡ يَذۡكُرُ اٰلِهَتَكُمۡ ۚ وَ هُمۡ بِذِكۡرِ الرَّحۡمٰنِ هُمۡ كٰفِرُوۡنَ ﴿۳۶﴾

۽ منڪر ماڻهو جڏهن توکي ڏسندا آهن ته اهي سڀ توتي ٺٺوليون ڪندا آهن. ڇا اهو ئي آهي جيڪو توهان جي معبودن جو ذڪر ٿو ڪري ۽ خود اهي ماڻهو رحمان جي ذڪر جو انڪار ڪن ٿا. ٣٦

---

قريش جا معبود اڪثر سندن قوم جا وڏا هئا. هڪ پاسي پنهنجن انهن وڏن جي خيالي عظمت سندن ذهنن تي ڇانيل هئي، ٻي طرف پيغمبر هو، جنهن جي تصوير ان وقت هڪ عام انسان کان وڌيڪ نه هئي. ان پيٽ ۾ پيغمبر انهن کي بلڪل معمولي نظر ايندو هو. اهي حقارت سان چوندا هئا ته ڇا هي ئي اُهو شخص آهي جيڪو اسان جي وڏن تي تنقيد ڪندو آهي ۽ وڏن جي جنهن دين تي اسان قائم آهيون ان کي رد ڪري ٻيو دين پيش ڪري رهيو آهي.

رسول اللهﷺ ماڻهن کي رڳو هڪ الله ڏانهن سڏيندا هئا. پر ماڻهن کي الله تعاليٰ سان ڪا دلچسپي نه هئي انهن جون سڀئي دلچسپيون پنهنجن وڏن سان وابسته هيون. انهن پنهنجن وڏن کي معبود جو درجو ڏئي رکيو هو، پاڻﷺ جي دعوت سان ڇاڪاڻ ته سندن وڏن تي چوٽ پوندي هئي، ان ڪري اهي پاڻﷺ جا سخت مخالف ٿي ويا. انهن کي وسري ويو ته معبودن کي رد ڪري پاڻﷺ الله تعاليٰ کي پيش ڪري رهيا آهن نه وري خود پنهنجي ذات کي.

خُلِقَ الۡاِنۡسَانُ مِنۡ عَجَلٍ ؕ سَاُورِيۡكُمۡ اٰيٰتِىۡ فَلَا تَسۡتَعۡجِلُوۡنِ ﴿۳۷﴾ وَ يَقُوۡلُوۡنَ مَتٰى هٰذَا الۡوَعۡدُ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿۳۸﴾ لَوۡ يَعۡلَمُ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا حِيۡنَ لَا يَكُفُّوۡنَ عَنۡ وُّجُوۡهِهِمُ النَّارَ وَ لَا عَنۡ ظُهُوۡرِهِمۡ وَ لَا هُمۡ يُنۡصَرُوۡنَ ﴿۳۹﴾ بَلۡ تَاۡتِيۡهِمۡ بَغۡتَةً فَتَبۡهَتُهُمۡ فَلَا يَسۡتَطِيۡعُوۡنَ رَدَّهَا وَ لَا هُمۡ يُنۡظَرُوۡنَ ﴿۴۰﴾ وَ لَقَدِ اسۡتُهۡزِئَ بِرُسُلٍ مِّنۡ قَبۡلِكَ فَحَاقَ بِالَّذِيۡنَ سَخِرُوۡا مِنۡهُمۡ مَّا كَانُوۡا بِهٖ يَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ﴿۴۱﴾ ع

انسان عجلت جي خمير مان پيدا ٿيو آهي. آئون جلد ئي توهان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاريندس. تنهن ڪري توهان مون سان تڪڙ نه ڪريو ۽ ماڻهو چوندا آهن ته اهو واعدو ڪڏهن ايندو؟ جيڪڏهن اوهان سچا آهيو. ڪاش! انهن منڪرن کي ان وقت جي خبر هجي ها، جڏهن ته اهي باهه کي نه پنهنجي سامهون کان روڪي سگهندا ۽ نه پنهنجي پٺيان کان ۽ نه انهن کي ڪا مدد پهچندي. بلڪ هو اوچتو انهن تي اچي ويندي، پوءِ انهن کي بدحواس ڪري ڇڏيندي، پوءِ هو نه ان کي ٽاري سگهندا ۽ نه انهن کي مهلت ڏني ويندي ۽ توکان اڳ ۾ به رسولن جو مذاق اڏايو ويو. پوءِ جن ماڻهن انهن مان مذاق اڏايو هو انهن کي ان شيءِ گهيري ورتو جنهن جو اُهي مذاق اڏائيندا هئا. ٣٧-٤١

---

عرب جا ماڻهو آخرت جا منڪر نہ هئا. اهي آخرت جي ان نوعيت جا منڪر هئا، جنهن جي خبر انهن کي سندن قوم جو هڪ شخص ”محمد بن عبدالله“ ڏئي رهيو هو. انهن کي فخر هو تہ هو هڪ اهڙي دين تي آهن جيڪو سندن ڪاميابي جي يقيني ضمانت آهي. محمد ﷺ سندن هن يقين جي ترديد ڪئي تہ هو بگڙي پيا. اُهي پنهنجي بي خوف نفسيات جي ڪري هي چوڻ لڳا تہ اهو عذاب اسان کي ڏيکار جنهن جي تون اسان کي ڌمڪي ڏئي رهيو آهين.

فرمايو ويو تہ سندن اها جلدبازي رڳو ان لاءِ آهي جو اجا امتحان جي دور ۾ هئڻ جي ڪري هو عذاب کان پري بيٺا آهن. جنهن ڏينهن اها مهلت ختم ٿيندي ۽ الله جو عذاب انهن کي گهيري وٺندو، ان وقت انهن کي سمجهہ ۾ اچي ويندو تہ رسول جي دعوت جي باري ۾ سنجيدگي اختيار نہ ڪري انهن ڪيتري وڏي غلطي ڪئي هئي.

قُلۡ مَنۡ يَّكۡلَؤُكُمۡ بِالَّيۡلِ وَ النَّهَارِ مِنَ الرَّحۡمٰنِ ؕ بَلۡ هُمۡ عَنۡ ذِكۡرِ رَبِّهِمۡ مُّعۡرِضُوۡنَ ﴿۴۲﴾ اَمۡ لَهُمۡ اٰلِهَةٌ تَمۡنَعُهُمۡ مِّنۡ دُوۡنِنَا ؕ لَا يَسۡتَطِيۡعُوۡنَ نَصۡرَ اَنۡفُسِهِمۡ وَ لَا هُمۡ مِّنَّا يُصۡحَبُوۡنَ ﴿۴۳﴾

چئو تہ ڪير آهي جيڪو رات ۽ ڏينهن ۾ رحمان کان توهان جي حفاظت ڪري ٿو. بلڪ اهي ماڻهو پنهنجي رب جي يادگيري کان منهن موڙي رهيا آهن. ڇا انهن لاءِ اسان کان سواءِ ڪجهہ معبود آهن جيڪي کين بچائين ٿا. هو تہ خود پنهنجي حفاظت جي قدرت نٿا رکن ۽ نہ اسان جي مقابلي ۾ ڪو سندن ساٿ ڏئي سگهي ٿو. ٤٢-٤٣

---

الله تعاليٰ جي پڪڙ جو مسئلو ڪنهن پري جي مستقبل جو مسئلو نہ آهي. اهو ساڳين ڏينهن ۽ راتين جي اندر لڪيل آهي، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجي پاڻ کي امن ۾ ۽ محفوظ سمجهي ٿو. مثال طور سج ۽ زمين جو فاصلو جيڪڏهن اڌ جيترو ٿي وڃي تہ اسان جا ڏينهن ايترا گرم ٿي وڃن جو هو اسان کي باهہ جي شعلي وانگر ساڙي ڇڏين، ان جي ابتڙ جيڪڏهن زمين جو سج کان فاصلو ٻيڻو ٿي وڃي تہ اسان جون راتيون ايتريون ٿڌيون ٿي وڃن جو اسان برف وانگر ڄمي وڃون.

زمين ۽ آسمان جو اهو آخري حدتائين موافق نظام جنهن قائم ڪري رکيو آهي، اهو ان قابل آهي جو انسان پنهنجون سڀئي عقيدتون ۽ وفاداريون ان سان وابستہ ڪري، نہ وري هو انهن ڪوڙن معبودن جي پرستش ڪرڻ لڳي، جيڪي ان کي ڪجهہ نٿا ڏئي سگهن.

بَلۡ مَتَّعۡنَا هٰۤؤُلَآءِ وَ اٰبَآءَهُمۡ حَتّٰى طَالَ عَلَيۡهِمُ الۡعُمُرُ ؕ اَفَلَا يَرَوۡنَ اَنَّا نَاۡتِى الۡاَرۡضَ نَنۡقُصُهَا مِنۡ اَطۡرَافِهَا ؕ اَفَهُمُ الۡغٰلِبُوۡنَ ﴿۴۴﴾

بلڪ اسان انهن کي ۽ سند ن ابن ڏاڏن کي دنيا جو سامان ڏنو، ايستائين جو ان ئي حال ۾ انهن تي ڊگهي مدت گذري وئي. ڇا اُهي نہ ٿا ڏسن تہ اسان زمين کي سندس چئني طرفن کان گهٽائيندا پيا اچون، پوءِ ڇا اهي ماڻهو غالب رهڻ وارا آهن. ٤٤

---

مڪي جا ماڻهو ان زماني ۾ عرب جا اڳواڻ سمجها ويندا هئا. اها اڳواڻي سندن لاءِ الله تعاليٰ جي هڪ نعمت هئي. پر ان مان انهن تڪبر جي غذا ورتي. تنهن ڪري جڏهن محمدﷺ جي زبان مان حق جو اعلان ٿيو ته انهن پنهنجي تڪبر واري نفسيات جي ڪري ان جو انڪار ڪري ڇڏيو.

اهو مڪي ۾ اسلام جو حال هو. پر مڪي کان ٻاهر جي عوام ان قسم جي نفسياتي مونجهارن ۾ مبتلا نه هئي. انهن جي اندر اسلام جي صداقت ڦهلجندي پئي وئي. مڪي ۾ اسلام کي رد ڪيو ويو هو. پر ٻاهر جي قبيلن ۾ اسلام کي اختيار ڪيو پئي ويو. مديني جي ماڻهن وڏي پيماني تي اسلام کي قبول ڪري اها ڳالهه واضح ڪري ڇڏي ته مڪي جي ماڻهن جي اڳواڻي جو دائرو گهٽجندو پيو وڃي. اها هڪ پڌري تنبيهه هئي. پر جيڪي ماڻهو وڏائي جي نفسيات ۾ مبتلا هجن. اهي ڪنهن به تنبيهه مان سبق وٺڻ وارا نه ٿا بڻجن.

قُلْ اِنَّمَآ اُنْذِرُكُمْ بِالْوَحْيِ ۖ وَ لَا يَسْمَعُ الصُّمُّ الدُّعَآءَ اِذَا مَا يُنْذَرُوْنَ۝۴۵ وَ لَىِٕنْ مَّسَّتْهُمْ نَفْحَةٌ مِّنْ عَذَابِ رَبِّكَ لَيَقُوْلُنَّ يٰوَيْلَنَآ اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ۝۴۶

چؤ ته آئون بس وحي جي ذريعي توهان کي ڊيڄاريان ٿو ۽ ٻوڙا سڏ کي نه ٿا ٻڌن. جڏهن انهن کي ڊيڄاريو وڃي ۽ جيڪڏهن تنهنجي رب جي عذاب مان ٿورو ئي ڪين پهچي ته هو چوڻ لڳندا ته هاءِ اسان جي بدبختي. بيشڪ اسان ئي ظالم هئاسون. ٤٥-٤٦

---

”وحي جي ذريعي ڊيڄارڻ“ جڻ دليل جي ذريعي ماڻهن کي تنبيهه ڪرڻ آهي. حق جو داعي هميشه دليل جي زبان ۾ پنهنجي ڳالهه کي پيش ڪندو آهي ۽ دليل ئي جي زبان ۾ ماڻهن کي ان کي سڃاڻڻو پوندو آهي. جيڪي ماڻهو دليل جي سامهون انڌا، ٻوڙا بڻجي رهن. پوءِ سندن اکيون ان وقت کلنديون آهن جڏهن الله تعاليٰ جي طاقت واضح طور تي ظاهر ٿي وڃي. ان وقت هر سرڪش ۽ تڪبر وارو يڪدم مڃي وٺندو. پر ان وقت جو مڃڻ ڪنهن جي ڪجهه به ڪم نه ايندو.

وَ نَضَعُ الْمَوَازِيْنَ الْقِسْطَ لِيَوْمِ الْقِيٰمَةِ فَلَا تُظْلَمُ نَفْسٌ شَيْـًٔا ؕ وَ اِنْ كَانَ مِثْقَالَ حَبَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ اَتَيْنَا بِهَا ؕ وَ كَفٰى بِنَا حٰسِبِيْنَ۝۴۷

۽ اسان قيامت جي ڏينهن انصاف جي ساهمي رکنداسون. پوءِ ڪنهن جان تي ذرو به ظلم نه ٿيندو ۽ جيڪڏهن اهر جي داڻي برابر به ڪنهن جو عمل هوندو ته اسان ان کي حاضر ڪنداسون ۽ اسان حساب وٺڻ لاءِ ڪافي آهيون. ٤٧

---

”ساهمي“ موجوده دنيا ۾ ڪنهن شيءِ جو وزن معلوم ڪرڻ جي علامت آهي. ان ڪري الله تعاليٰ ان ئي معلوم اصطلاح کي آخرت جو معاملو سمجهائڻ لاءِ استعمال ڪيو ۽ دنيا جي ساهمي مادي شين کي توريندي آهي. آخرت ۾ الله جي ساهمي معنوي حقيقتن کي توري انهن جو وزن ٻڌائيندي.

دنيا ۾ ماڻهو ڪنهن شيءِ کي ان وقت حاصل ڪري ٿو جڏهن ته هو ان جي قيمت ادا ڪري. گهٽ قيمت ڏيڻ وارو گهٽ شيءِ حاصل ڪندو ۽ وڌيڪ قيمت ڏيڻ وارو وڌيڪ شيءِ. اهوئي معاملو آخرت ۾ به پيش ايندو. اتي جون اعليٰ شيون به ماڻهو کي قيمت ڏئي ڪري ملنديون. قيمت ادا ڪرڻ کان سواءِ

جهڙي طرح دنيا جي ڪا شيءِ ڪنهن کي نہ ٿي ملي. اهڙي طرح آخرت جون شيون بہ ان ئي کي ملنديون، جيڪو انهن جي قيمت ادا ڪري. قرآن ان ئي قيمت جي نشاندهي ڪرڻ وارو ڪتاب آهي.

وَ لَقَدۡ اٰتَيۡنَا مُوۡسٰى وَ هٰرُوۡنَ الۡفُرۡقَانَ وَ ضِيَآءً وَّ ذِكۡرًا لِّلۡمُتَّقِيۡنَ ﴿٤٨﴾ الَّذِيۡنَ يَخۡشَوۡنَ رَبَّهُمۡ بِالۡغَيۡبِ وَ هُمۡ مِّنَ السَّاعَةِ مُشۡفِقُوۡنَ ﴿٤٩﴾ وَ هٰذَا ذِكۡرٌ مُّبٰرَكٌ اَنۡزَلۡنٰهُ ؕ اَفَاَنۡتُمۡ لَهٗ مُنۡكِرُوۡنَ ﴿٥٠﴾

۽ اسان موسيٰ ۽ هارون کي فرقان ۽ روشني ۽ نصيحت عطا ڪئي. پرهيزگارن لاءِ جيڪي بنا ڏٺي پنهنجي رب کان ڊڄندا آهن ۽ اهي قيامت جو خوف رکڻ وارا آهن ۽ هي هڪ بابرڪت نصيحت آهي، جيڪا اسان نازل ڪئي آهي. تہ ڇا پوءِ اوهان ان جا منڪر آهيو. ٤٨-٥٠

---

فرقان ۽ روشني ۽ ذڪر جيڪي حضرت موسيٰؑ کي ڏنا ويا، اُهي ئي الله تعاليٰ طرفان سيني پيغمبرن کي مليا هئا. فرقان مان مراد اهو نظرياتي معيار آهي جنهن جي ذريعي ماڻهو حق ۽ باطل جي وچ ۾ فرق ڪري سگهي ٿو. روشني مان مراد الله تعاليٰ جي رهنمائي آهي، جيڪا ماڻهو کي گمراهي جي اندهيري مان ڪڍي صراط المستقيم جي روشني ۾ آڻي ٿي. ذڪر مان مراد يادگيري آهي، يعني شين جي اندر لڪيل نصيحت جي پهلو کي واضح ڪرڻ، تہ جيئن شيون ماڻهن لاءِ رڳو شيون نہ رهن، بلڪ اهي نصيحت ۽ معرفت جو خزانو بڻجي وڃن.

اهڙي طرح الله تعاليٰ انسان جي هدايت جو انتظام ڪيو، پر خدائي هدايت نامي ڪي حقيقي طور تي پاڻ لاءِ هدايت بڻائڻ ان ئي وقت ممڪن آهي، جڏهن تہ ماڻهو انجام جو انديشو رکندو هجي. اها انديشي واري نفسيات ان کي ان حدتائين سنجيده بڻائي ڇڏي جو هو هر ٻي شيءِ جي مقابلي ۾ حق ۽ صداقت کي وڏيڪ اهميت ڏيڻ لڳي.

وَ لَقَدۡ اٰتَيۡنَاۤ اِبۡرٰهِيۡمَ رُشۡدَهٗ مِنۡ قَبۡلُ وَ كُنَّا بِهٖ عٰلِمِيۡنَ ﴿٥١﴾ اِذۡ قَالَ لِاَبِيۡهِ وَ قَوۡمِهٖ مَا هٰذِهِ التَّمَاثِيۡلُ الَّتِيۡۤ اَنۡتُمۡ لَهَا عٰكِفُوۡنَ ﴿٥٢﴾ قَالُوۡا وَجَدۡنَاۤ اٰبَآءَنَا لَهَا عٰبِدِيۡنَ ﴿٥٣﴾ قَالَ لَقَدۡ كُنۡتُمۡ اَنۡتُمۡ وَ اٰبَآؤُكُمۡ فِيۡ ضَلٰلٍ مُّبِيۡنٍ ﴿٥٤﴾

۽ اسان ان کان اڳ ۾ ابراهيم کي سندس هدايت عطا ڪئي ۽ اسان ڪيس چڱي طرح ڄاڻندا هئاسون. جڏهن ان پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم کي چيو اهي ڪهڙيون مورتيون آهن جن تي توهان ڄمي ويٺا آهيو. انهن چيو اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي انهن جي عبادت ڪندي ڏٺو. ابراهيم چيو تہ بيشڪ توهان ۽ توهان جا ابا ڏاڏا هڪ پڌري گمراهي ۾ مبتلا آهيو. ٥١-٥٤

---

الله تعاليٰ وٽ فيض استعداد مطابق ملڻ جو اصول آهي. حضرت ابراهيمؑ مختلف امتحانن مان گذري جنهن استعداد جو ثبوت ڏنو هو. ان کي الله تعاليٰ ڏنو ۽ ان جي مطابق ان کي هدايت ۽ معرفت عطا ڪئي. اهوئي معاملو الله تعاليٰ جو پنهنجي هر ٻانهي سان آهي.

حضرت ابراهيم عليه السلام عراق جي قديم شهر اُر ۾ پيدا ٿيا. ان وقت هتي جي زندگي ۾ پوري طرح شرڪ ڇانيل هو. شرڪ جي ماحول ۾ پرورش پائڻ جي باوجود هو ان کان متاثر نه ٿيو. ان شين کي خود پنهنجي عقل سان جانچيو ۽ ماحول جي ابتڙ توحيد جي صداقت کي ڄاڻي ورتو. هو اهڙي دنيا ۾ هو جتي هر قسم جي عزت ۽ ترقي شرڪ سان وابسته ٿي چڪي هئي. پر ان ڪنهن به شيءِ جي پرواهه نه ڪئي. سيني مصلحتن کان بي نياز ٿي ڪري قوم جي طريقن تي تنقيد ڪئي ۽ انهن جي سامهون حق جو اعلان ڪرڻ لاءِ اٿي بيٺا. اهي ئي اُهي صفتون آهن جيڪي ڪنهن ماڻهو کي ان قابل بڻائينديون آهن جو ان کي الله تعاليٰ جي هدايت حاصل ٿئي.

قَالُوۡۤا اَجِئۡتَنَا بِالۡحَقِّ اَمۡ اَنۡتَ مِنَ اللّٰعِبِيۡنَ ﴿۵۵﴾ قَالَ بَلۡ رَّبُّكُمۡ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ
الَّذِيۡ فَطَرَهُنَّ ۫ۖ وَ اَنَا عَلٰی ذٰلِكُمۡ مِّنَ الشّٰهِدِيۡنَ ﴿۵۶﴾ وَ تَاللّٰهِ لَاَكِيۡدَنَّ اَصۡنَامَكُمۡ بَعۡدَ
اَنۡ تُوَلُّوۡا مُدۡبِرِيۡنَ ﴿۵۷﴾ فَجَعَلَهُمۡ جُذٰذًا اِلَّا كَبِيۡرًا لَّهُمۡ لَعَلَّهُمۡ اِلَيۡهِ يَرۡجِعُوۡنَ ﴿۵۸﴾

انهن چيو ڇا تو اسان وٽ سچي ڳالهه آندي آهي يا تون مذاق ڪري رهيو آهين. ابراهيم چيو بلڪ توهان جو رب اهو آهي جيڪو آسمانن ۽ زمين جو رب آهي. جنهن انهن کي پيدا ڪيو ۽ آئون هن ڳالهه جي گواهي ڏيڻ وارو آهيان ۽ الله تعاليٰ جو قسم آئون توهان جي بتن سان هڪ تدبير ڪندس جڏهن توهان پٺ ڦيرائي هليا ويندو. پوءِ هن انهن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو سواءِ انهن جي هڪ وڏي جي، ته جيئن اُهي ان ڏانهن رجوع ڪن. ۵۵-۵۸

---

حضرت ابراهيم عليه السلام جي زماني ۾ شرڪ جو تصور ماڻهن جي ذهن تي ايترو گهڻو ڇانيل هو جو شروع ۾ اُهي حضرت ابراهيم عليه السلام جي تنقيد کي غيرسنجيده ڳالهه سمجهيا. انهن چيو ته تون ڪا سوچيل سمجهيل ڳالهه چئي رهيو آهين يا رڳو تفريح طور تي ڪجهه لفظ پنهنجي زبان مان ڪڍي رهيو آهين.

حضرت ابراهيم عليه السلام چيو ته اها توهان جي ناسمجهي آهي جو توهان اهڙي اهم ترين ڳالهه کي غيرسنجيده ڳالهه سمجهي رهيا آهيو، حالانڪ سڄي زمين ۽ آسمان ان جي حق ۾ گواهي ڏئي رهيا آهن. پوءِ ڏينهن پاڻ عليه السلام وڏيڪ ايئن ڪيو جو غيرمعمولي جرائت کان ڪم وٺي انهن جي بتن کي ٽوڙي ڇڏيو. اهڙي طرح ڄڻ حضرت ابراهيم عليه السلام عملن ڏيکاري ڇڏيو ته اهي بت حقيقت ۾ به ايترائي بي حقيقت آهن، جيترو مون لفظي طور تي اوهان کي ٻڌايو هو.

قَالُوۡا مَنۡ فَعَلَ هٰذَا بِاٰلِهَتِنَاۤ اِنَّهٗ لَمِنَ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۵۹﴾ قَالُوۡا سَمِعۡنَا فَتًی يَّذۡكُرُهُمۡ يُقَالُ لَهٗۤ
اِبۡرٰهِيۡمُ ﴿۶۰﴾ قَالُوۡا فَاۡتُوۡا بِهٖ عَلٰۤی اَعۡيُنِ النَّاسِ لَعَلَّهُمۡ يَشۡهَدُوۡنَ ﴿۶۱﴾ قَالُوۡۤا ءَاَنۡتَ فَعَلۡتَ
هٰذَا بِاٰلِهَتِنَا يٰۤاِبۡرٰهِيۡمُ ﴿۶۲﴾ قَالَ بَلۡ فَعَلَهٗ ۖۗ كَبِيۡرُهُمۡ هٰذَا فَسۡئَلُوۡهُمۡ اِنۡ كَانُوۡا
يَنۡطِقُوۡنَ ﴿۶۳﴾

انهن چيو ڪنهن اسان جي بتن سان ايئن ڪيو آهي. بيشڪ اُهو وڏو ظالم آهي. ماڻهن چيو ته اسان هڪ جوان کي انهن جو تذڪرو ڪندي ٻڌو هو جنهن کي ابراهيم چيو ويندو آهي. انهن چيو ته ان کي سيني ماڻهن جي سامهون

حاضر ڪريو، تہ جيئن هو ڏسن. انهن چيو اي ابراهيم! ڇا اسان جي معبودن سان تو ايئن ڪيو آهي؟ ابراهيم چيو بلڪ انهن جي هن وڏي ايئن ڪيو آهي تہ پوءِ انهن کان پڇي وٺو. جيڪڏهن اهي ڳالهائين ٿا. ٥٩-٦٣

---

بئي ڏينهن جڏهن ماڻهو بت خاني ۾ ويا ۽ ڏٺائون تہ اُتي بت ڀڳا پيا آهن تہ انهن کي سخت صدمو پهتو. آخرڪار انهن کي سمجهہ ۾ آيو تہ اها ان نوجوان جي حرڪت لڳي ٿي، جيڪو اسان جي آبائي دين کان ڦري ويو آهي ۽ ان جي خلاف ڳالهائيندو رهي ٿو.

حضرت ابراهيم عليہ السلام بتن کي ٽوڙيندي ڇاٽي واٽي سيني کان وڏي بت کي ڇڏي ڏنو هو. پوءِ جڏهن انهن کي سڏيو ويو ۽ انهن کان پڇاڳاڇا ٿي تہ انهن چيو تہ هي وڏو بت صحيح سالم موجود آهي، ان کان پڇي وٺو. جيڪڏهن اِهو واقعي معبود آهي تہ ڳالهائي توهان کي ٻڌائي تہ اها حرڪت انهن بتن سان ڪيئن ٿئي.

حضرت ابراهيم عليہ السلام سڌي سنئين ڪا ڳالهہ نہ ڪئي، بلڪ اڻ سڌي طرح انهن اها ڳالهہ چئي ڇڏي جيڪا ان موقعي تي سڌي سنئين ڳالهہ کان بہ وڌيڪ اثرائتي هئي.

فَرَجَعُوۡۤا اِلٰۤى اَنۡفُسِهِمۡ فَقَالُوۡۤا اِنَّكُمۡ اَنۡتُمُ الظّٰلِمُوۡنَ ۙ﴿۶۴﴾ ثُمَّ نُكِسُوۡا عَلٰى رُءُوۡسِهِمۡ‌ۚ لَقَدۡ عَلِمۡتَ مَا هٰٓؤُلَاۤءِ يَنۡطِقُوۡنَ‏ ﴿۶۵﴾ قَالَ اَفَتَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنۡفَعُكُمۡ شَيۡـئًا وَّلَا يَضُرُّكُمۡ ؕ‏ ﴿۶۶﴾ اُفٍّ لَّـكُمۡ وَلِمَا تَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ‌ ؕ اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ‏ ﴿۶۷﴾

پوءِ انهن پنهنجي جيءَ ۾ سوچيو ۽ چوڻ لڳا تہ حقيقت ۾ اوهين پاڻ ئي ناحق تي آهيون. پوءِ پنهنجا ڪنڌ جهڪايائون. اي ابراهيم! تون ڄاڻين ٿو تہ هي ڳالهائيندا نہ آهن. ابراهيم چيو ڇا توهان خدا کان سواءِ اهڙين شين جي عبادت ڪندا آهيو جيڪي توهان کي نہ ڪو فائدو پهچائي سگهن ۽ نہ ڪو نقصان. افسوس آهي توهان تي بہ ۽ انهن شين تي بہ جن جي توهان الله کان سواءِ عبادت ڪريو ٿا. ڇا توهان سمجهو نہ ٿا. ٦٤-٦٧

---

حضرت ابراهيم عليہ السلام جي انهن جوابن تي اهي ماڻهو پاڻ عليہ السلام کي گستاخ چئي بگڙي سگهن پيا جهڙي طرح انهن موقعن تي عام طور تي ٿيندو آهي. پر بت پرستي جي باوجود انهن ۾ اڃا زندگي موجود هئي، تنهن ڪري انهن پاڻ عليہ السلام جي جواب ۾ دليل جي وزن کي محسوس ڪيو ۽ شرمنده ٿي ڪري پنهنجي ناحق تي هجڻ جو اعتراف ڪيو. پوءِ جيڪڏهن تعصب جا جذبا نہ اڀري اچن ها تہ اهو تجربو انهن کي ايمان تائين پهچائڻ جي لاءِ ڪافي هو.

قَالُوۡا حَرِّقُوۡهُ وَانۡصُرُوۡۤا اٰلِهَتَكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ فٰعِلِيۡنَ‏ ﴿۶۸﴾ قُلۡنَا يٰنَارُ كُوۡنِىۡ بَرۡدًا وَّسَلٰمًا عَلٰٓى اِبۡرٰهِيۡمَ ۙ‏ ﴿۶۹﴾ وَاَرَادُوۡا بِهٖ كَيۡدًا فَجَعَلۡنٰهُمُ الۡاَخۡسَرِيۡنَ‌ۚ‏ ﴿۷۰﴾

انهن چيو هن کي باهہ ۾ ساڙي ڇڏيو ۽ پنهنجن معبودن جي مدد ڪريو. جيڪڏهن اوهان کي ڪجهہ ڪرڻو آهي. اسان چيو تہ اي باهہ تون ابراهيم لاءِ ٿڌي ۽ سلامتي واري بڻجي وڃ ۽ انهن هن کي ايذائڻ چاهيو تہ اسان انهن ماڻهن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو. ٦٨-٧٠

---

جيڪي ماڻهو اختيار جا مالڪ هوندا آهن. اهي دليل جي ميدان ۾ هارجي وڃڻ کان پوءِ هميشہ

ظلم جو رستو اختيار ڪندا آهن، اهوئي حضرت ابراهيمؑ سان ٿيو. ٻتن کي ڀڃڻ جي واقعي کان پوءِ جڏهن قوم جي اڳواڻن محسوس ڪيو تہ هو ابراهيم جي مقابلي ۾ بي دليل ٿي چڪا آهن، تہ پوءِ انهن پاڻؑ تي سختيون شروع ڪري ڇڏيون، ايستائين جو طاقت جي گهمنڊ ۾ اچي هڪ ڏينهن پاڻؑ کي باهہ ۾ وجهي ڇڏيو.

پر الله تعاليٰ جو پيغمبر دنيا ۾ الله جو نمائندو هوندو آهي، ان جو معاملو الله جو معاملو هوندو آهي، ان ڪري الله تعاليٰ غيرمعمولي طور تي پيغمبر جي مدد ڪندو آهي. تنهن ڪري الله حڪم ڏنو ۽ باهہ پاڻؑ لاءِ ٿڌي ٿي وئي. اهڙي نوعيت جي مدد غير پيغمبرن لاءِ بہ نازل ٿي سگهي ٿي هن شرط سان جو هو پنهنجي پاڻ کي خدا جي منصوبي سان ان حدتائين وابستہ ڪن، جهڙي طرح پيغمبر پاڻ کي ان سان وابستہ ڪندا آهن.

وَ نَجَّيۡنٰهُ وَ لُوۡطًا اِلَى الۡاَرۡضِ الَّتِىۡ بٰرَكۡنَا فِيۡهَا لِلۡعٰلَمِيۡنَ ﴿٧١﴾ وَ وَهَبۡنَا لَهٗۤ اِسۡحٰقَ ؕ وَ يَعۡقُوۡبَ نَافِلَةً ؕ وَ كُلًّا جَعَلۡنَا صٰلِحِيۡنَ ﴿٧٢﴾ وَ جَعَلۡنٰهُمۡ اَئِمَّةً يَّهۡدُوۡنَ بِاَمۡرِنَا وَ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡهِمۡ فِعۡلَ الۡخَيۡرٰتِ وَاِقَامَ الصَّلٰوةِ وَاِيۡتَآءَ الزَّكٰوةِ ۚ وَكَانُوۡا لَنَا عٰبِدِيۡنَ ﴿٧٣﴾

۽ اسان کيس ۽ لوط کي ان زمين ڏانهن نجات ڏني جنهن ۾ اسان دنيا وارن لاءِ برڪتون رکيون آهن ۽ اسان ان کي اسحاق ڏنو ۽ وڌيڪ يعقوب بہ ۽ اسان انهن سيني کي نيڪ بڻايو ۽ اسان انهن کي امام بڻايو جيڪي اسان جي حڪم سان رهنمائي ڪندا هئا ۽ اسان انهن کي نيڪ عمل ۽ نماز جي اقامت ۽ زڪوات جي ادائيگي جو حڪم موڪليو ۽ اهي اسان جي عبادت ڪرڻ وارا هئا. ٧١-٧٣

---

حضرت ابراهيمؑ عراق ۾ پيدا ٿيا. جڏهن سندن قوم ۽ اتي جو بادشاهہ نمرود پاڻؑ جو دشمن ٿي ويو تہ حجت پوري ٿيڻ کان پوءِ پاڻؑ پنهنجو وطن ڇڏي ڏنو ۽ الله جي حڪم سان شام ۽ فلسطين جي سرسبز علائقي ڏانهن هليا ويا. پاڻؑ جي ملڪ وارن جيتوڻيڪ پاڻؑ جو ساٿ نہ ڏنو هو، پر خدا پاڻؑ کي پٽ ۽ پوٽا ڏنا، جيڪي پاڻؑ جي رستي تي هلڻ وارا ٿيا، ايستائين جو سندس نيڪي الله تعاليٰ اهڙي طرح قبول فرمائي جو پاڻؑ جي نسل ۾ نبوت جو سلسلو جاري ڪري ڇڏيو.

وَ لُوۡطًا اٰتَيۡنٰهُ حُكۡمًا وَّ عِلۡمًا وَّ نَجَّيۡنٰهُ مِنَ الۡقَرۡيَةِ الَّتِىۡ كَانَتۡ تَّعۡمَلُ الۡخَبٰٓئِثَ ؕ اِنَّهُمۡ كَانُوۡا قَوۡمَ سَوۡءٍ فٰسِقِيۡنَ ﴿٧٤﴾ وَاَدۡخَلۡنٰهُ فِىۡ رَحۡمَتِنَا ؕ اِنَّهٗ مِنَ الصّٰلِحِيۡنَ ﴿٧٥﴾

۽ لوط کي اسان حڪمت ۽ علم عطا ڪيو ۽ ان کي اهڙي وسندي وارن کان نجات ڏني، جيڪي بڇڙا ڪم ڪندا هئا. بيشڪ اُهي تمام برا، فاسق ماڻهو هئا ۽ اسان هن کي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪيو. بيشڪ هو نيڪ ٻانهن مان هو. ٧٤-٧٥

---

حڪمت مان مراد معرفت ۽ علم مان مراد وحي آهي. حضرت لوطؑ کي اهي شيون عطا ٿيون. ٻين سيني پيغمبرن کي بہ اهي ئي شيون ڏنيون ويون هيون. ختم نبوت کان پوءِ وحي جو قائم مقام قرآن آهي ۽ حڪمت (معرفت) سان غير پيغمبرن کي بہ استعداد جي مطابق حصو ملندو آهي.

جن ماڻهن تي الله جي نظر هوندي آهي. هو انهن جو ولي ۽ ڪارساز بڻجي ويندو آهي. هو انهن ڪي برن ماڻهن جي ماحول مان ڪڍي سٺن ماڻهن جي ماحول ۾ وٺي ويندو آهي، هو زندگي جي هر موڙ تي سندن مددگار بڻجي ويندو آهي، هو انهن کي اها حڪمت عطا فرمائيندو آهي، جنهن کان پوءِ سندن پوري زندگي رحمت خداوندي جي آبشار سان سيراب ٿي ويندي آهي.

وَ نُوۡحًا اِذۡ نَادٰی مِنۡ قَبۡلُ فَاسۡتَجَبۡنَا لَهٗ فَنَجَّيۡنٰهُ وَ اَهۡلَهٗ مِنَ الۡكَرۡبِ الۡعَظِيۡمِ ﴿٧٦﴾ وَ نَصَرۡنٰهُ مِنَ الۡقَوۡمِ الَّذِيۡنَ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا ؕ اِنَّهُمۡ كَانُوۡا قَوۡمَ سَوۡءٍ فَاَغۡرَقۡنٰهُمۡ اَجۡمَعِيۡنَ ﴿٧٧﴾

۽ نوح کي جڏهن هُن انهن کان اڳ پڪاريو تہ اسان ان جي دعا قبول ڪئي. پوءِ اسان کيس ۽ ان جي ماڻهن کي وڏي غم مان نجات ڏني ۽ انهن ماڻهن جي مقابلي ۾ ان جي مدد ڪئي، جن اسان جي نشانين کي ڪوڙو ڀانئيو بيشڪ اُهي برا ماڻهو هئا. تنهن ڪري اسان انهن سڀني کي غرق ڪري ڇڏيو. ٧٦-٧٧

---

حضرت نوحؑ تمام ڊگهي مدت تائين پنهنجي قوم کي دعوت ڏني. پر ڪجھ ماڻهن کان سواءِ ڪنهن بہ اصلاح قبول نہ ڪئي. آخرڪار حضرت نوحؑ پنهنجي قوم لاءِ هلاڪت جي دعا ڪئي. ان کان پوءِ اهڙو سخت سيلاب آيو جو جبلن جون چوٽيون بہ ماڻهن کي بچائڻ کان عاجز ٿي ويون.

اهو واقعو جيتوڻيڪ پيغمبر جي سطح تي پيش آيو. پوءِ بہ عام انسانن لاءِ بہ ان ۾ گهٽي تسڪين جو سامان آهي. ان مان خبر پئي ٿي تہ هن دنيا ۾ بگاڙ پيدا ڪرڻ وارا بلڪل آزاد نہ آهن ۽ سچائي لاءِ اٿڻ وارو ماڻهو بلڪل اڪيلو نہ آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو سچائي سان پاڻ کي ان حدتائين وابستہ ڪري جو هو دنيا ۾ سچائي جو نمائندو بڻجي وڃي تہ ان کان پوءِ هو دنيا ۾ اڪيلو نہ ٿو رهي، بلڪ خدا ان سان گڏ ٿي ويندو آهي ۽ جنهن سان گڏ خدا ٿي وڃي تہ ان کي ڪير هارائي سگهي ٿو.

وَ دَاوٗدَ وَ سُلَيۡمٰنَ اِذۡ يَحۡكُمٰنِ فِی الۡحَرۡثِ اِذۡ نَفَشَتۡ فِيۡهِ غَنَمُ الۡقَوۡمِ ۚ وَ كُنَّا لِحُكۡمِهِمۡ شٰهِدِيۡنَ ﴿٧٨﴾ فَفَهَّمۡنٰهَا سُلَيۡمٰنَ ۚ وَ كُلًّا اٰتَيۡنَا حُكۡمًا وَّ عِلۡمًا ۫ وَّ سَخَّرۡنَا مَعَ دَاوٗدَ الۡجِبَالَ يُسَبِّحۡنَ وَ الطَّيۡرَ ؕ وَ كُنَّا فٰعِلِيۡنَ ﴿٧٩﴾ وَ عَلَّمۡنٰهُ صَنۡعَةَ لَبُوۡسٍ لَّكُمۡ لِتُحۡصِنَكُمۡ مِّنۡۢ بَاۡسِكُمۡ ۚ فَهَلۡ اَنۡتُمۡ شٰكِرُوۡنَ ﴿٨٠﴾

۽ دائود ۽ سليمان کي جڏهن اهي ٻئي هڪ پوک جي باري ۾ فيصلو ڪري رهيا هئا. جڏهن ان ۾ ڪجھ ماڻهن جي ٻڪرين رات جي وقت ڀيل ڪئي ۽ اسان سندن ان فيصلي کي ڏسي رهيا هئاسون. پوءِ اسان سليمان کي ان جي سمجھ ڏني ۽ اسان ٻنهي کي حڪمت ۽ علم عطا ڪيو هو ۽ اسان دائود جي تابع ڪري ڇڏيو جبلن کي جو هو ان سان گڏ تسبيح ڪندا هئا ۽ پکين کي بہ ۽ اسان ئي ايئن ڪرڻ وارا هئاسون ۽ اسان ان کي توهان لاءِ هڪ جنگي لباس جي ڪاريگري سيکاري، تہ جيئن اها توهان کي لڙائي ۾ محفوظ رکي تہ ڇا توهان شڪر ڪرڻ وارا آهيو. ٧٨-٨٠

---

هنن آيتن ۾ ٻن اسرائيلي پيغمبرن جو ذڪر آهي، هڪ حضرت دائودؑ ۽ ٻيو سندس پٽ حضرت سليمانؑ جو. انهن کي الله تعاليٰ انساني معاملن جو صحيح فيصلو ڪرڻ جي صلاحت ڏني. حضرت دائودؑ الله جي تسبيح ايتري اعليٰ طريقي تي ڪندا هئا جو جبل ۽ پکي به انهن سان شامل ٿي ويندا هئا. اهڙي طرح الله پاڻؑ کي ٻڌايو ته لوهه جو استعمال ڪهڙي طرح ڪرڻ گهرجي.

اها هڪ حقيقت آهي ته الله جي پيغمبرن ئي انسان کي ٻڌايو ته هو پنهنجي رب جي تسبيح ۽ عبادت ڪهڙي طرح ڪري، پر هنن آيتن مان معلوم ٿيندو آهي ته ٻيون ضروري شيون به انسان کي صحيح طور تي پيغمبرن جي ذريعي ئي معلوم ٿيون. مثال طور اجتماعي عدل جو اصول ۽ معدنيات جو استعمال به پيغمبرن جي ذريعي ئي انسانن جي علم ۾ آيو. زندگي سان تعلق رکندڙ هر ضروري شيءِ جو ابتدائي علم گهٽ ڪري پيغمبرن جي ذريعي ئي انسان کي ڏنو ويو.

وَ لِسُلَيۡمٰنَ الرِّيۡحَ عَاصِفَةً تَجۡرِيۡ بِاَمۡرِهٖۤ اِلَى الۡاَرۡضِ الَّتِيۡ بٰرَكۡنَا فِيۡهَا ؕ وَ كُنَّا بِكُلِّ شَيۡءٍ عٰلِمِيۡنَ ﴿٨١﴾ وَ مِنَ الشَّيٰطِيۡنِ مَنۡ يَّغُوۡصُوۡنَ لَهٗ وَ يَعۡمَلُوۡنَ عَمَلًا دُوۡنَ ذٰلِكَ ۚ وَ كُنَّا لَهُمۡ حٰفِظِيۡنَ ﴿٨٢﴾

۽ اسان تيز هوا کي سليمان جي تابع ڪيو، جيڪا هُن جي حڪم سان ان سر زمين ڏانهن هلندي هئي جنهن ۾ اسان برڪتون رکيون آهن ۽ اسان هر شيءِ کي ڄاڻڻ وارا آهيون ۽ شيطان به اسان هُن جي تابع ڪري ڇڏيا هئا. جيڪي ان لاءِ ٽٻيون هڻندا هئا ۽ ان کان سواءِ ٻيا ڪم ڪندا هئا ۽ اسان انهن کي سنڀالڻ وارا هئاسون. ٨١-٨٢

---

هتي هوائن کي تابع ڪرڻ مان مراد سمنڊ ۾ جهاز هلائڻ آهي. قديم زماني ۾ سفر ۾ ان وقت انقلاب آيو جڏهن انسان سڙهه وسيلي هلندڙ ٻيڙي ٺاهڻ جو طريقو دريافت ڪيو، اهي سڙهه ڇڻ ته هوائن کي تابع ڪرڻ جو ذريعو هئا ۽ ان زماني جي جهازن لاءِ يا ٻيڙين لاءِ انجڻ جو ڪم ڏيندا هئا، سڙهه وارين ٻيڙين جي ايجاد سمنڊ کي وڏي پيماني تي آمدرفت قابل بڻائي ڇڏيو، ان مان اندازو ٿيندو آهي ته سامونڊي ٻيڙين جي سائنس به گهٽ ڪري انسان کي پيغمبرن ذريعي سيکاري وئي.

ان جي علاوه جنن مان به هڪ ٽولي کي الله تعاليٰ حضرت سليمان جي تابع ڪري ڇڏيو هو. اُهي ان لاءِ وڏا وڏا عوامي ڀلائي وارا ڪم ڪندا هئا، جيڪي عام انسان نه ٿا ڪري سگهن. جديد مشيني دور ۾ انساني فائدي جا وڏا ڪم مشينون انجام ڏينديون آهن، مشيني دور کان اڳ ۾ اهڙي قسم جي وڏن وڏن ڪمن کي ممڪن بڻائڻ لاءِ الله جنن کي پنهنجي پيغمبر جي تابع ڪري ڇڏيو هو.

وَ اَيُّوۡبَ اِذۡ نَادٰى رَبَّهٗۤ اَنِّيۡ مَسَّنِيَ الضُّرُّ وَ اَنۡتَ اَرۡحَمُ الرّٰحِمِيۡنَ ﴿٨٣﴾ۚ فَاسۡتَجَبۡنَا لَهٗ فَكَشَفۡنَا مَا بِهٖ مِنۡ ضُرٍّ وَّ اٰتَيۡنٰهُ اَهۡلَهٗ وَ مِثۡلَهُمۡ مَّعَهُمۡ رَحۡمَةً مِّنۡ عِنۡدِنَا وَ ذِكۡرٰى لِلۡعٰبِدِيۡنَ ﴿٨٤﴾

۽ ايوب کي جڏهن ته هُن پنهنجي رب کي پڪاريو ته مون کي بيماري لڳي وئي آهي ۽ تون سڀني رحم ڪرڻ

وارن کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو آهين. تہ اسان هُن جي دعا قبول ڪئي ۽ ان کي جيڪا تڪليف هئي سا لاٿي ۽ اسان هن کي سندس گهر وارا عطا ڪيا ۽ ان ئي سان گڏ انهن جهڙا ٻيا بہ ۽ پنهنجي طرفان رحمت ۽ نصيحت عبادت ڪندڙن لاءِ. ٨٣-٨٤

---

پيغمبرن جي ذريعي خدا هر قسم جا اعليٰ مثال قائم ڪندو آهي، تہ جيئن اهي ماڻهن لاءِ نمونو بڻجن. انهن مان هڪ مثال حضرت ايوب عليہ السلام جو آهي، حضرت ايوب عليہ السلام گهٽو ڪري شايد نائين صدي قبل مسيح جا اسرائيلي پيغمبر هئا. بائيبل جي بيان مطابق هو شروع ۾ وڏا مالدار هئا. ٻنيون، مال، مويشي، مڪان، اهل اولاد ۽ هر شيءِ جي ايتري ڪثرت هئي جو چيو ويڃڻ لڳو تہ اوڀر وارن ۾ ڪو بہ ايترو وڏو ماڻهو نہ آهي، ان جي باوجود حضرت ايوب عليہ السلام بيحد شڪرگذار ۽ وفادار ٻانها هئا. سندس زندگي ان ڳالهہ جو نمونو بڻجي وئي تہ عزت ۽ دولت حاصل ڪرڻ جي باوجود ڪهڙي طرح هڪ ماڻهو عاجز ٻانهو بڻجي رهي ٿو.

پر شيطان ان واقعي کي ماڻهن جي ذهنن ۾ اُبتو ڪري ڇڏيو، ان ماڻهن کي سيکاريو تہ ايوب جي اها غيرمعمولي خدا پرستي ان لاءِ آهي جو هُن کي غيرمعمولي نعمتون حاصل آهن. جيڪڏهن اهي نعمتون هُن وٽ نہ هجن تہ ان جي سڀي شڪرگذاري ختم ٿي ويندي.

ان کان پوءِ الله تعاليٰ پاڻ عليہ السلام جي ذريعي ٻيو مثال قائم ڪيو. حضرت ايوب عليہ السلام جا ڍور مري ويا، پوک برباد ٿي وئي، اولاد ختم ٿي ويو، ايستائين جو جسم کي بہ بيماري ورني وئي، دوستن ۽ مٽن مائٽن ساٿ ڇڏي ڏنو. رڳو هڪ زال پاڻ عليہ السلام سان باقي رهجي وئي، پر حضرت ايوب عليہ السلام الله تعاليٰ جي فيصلي تي راضي رهيا، انهن ڪامل صبر جو مظاهرو ڪيو. بائيبل جي لفظن ۾.

”تڏهن ايوب زمين تي ڪري سجدو ڪيو ۽ چيائين اُگهاڙو آئون پنهنجي ماءُ جي پيٽ مان نڪتس ۽ اُگهاڙو واپس موٽندس. الله تعاليٰ ڏنو ۽ الله تعاليٰ ورني ڇڏيو، الله تعاليٰ جو نالو مبارڪ هجي. انهن سڀني ڳالهين ۾ ايوب نہ تہ گناهہ ڪيو ۽ نہ وري الله تي اجايو الزام لڳايو. (ايوب ١: ٢٢)

حضرت ايوب عليہ السلام جڏهن مصيبتن ۾ اهڙي طرح صبر ۽ شڪر جو مظاهرو ڪيو تہ نہ رڳو آخرت ۾ سندس لاءِ بهترين اجر لکيو ويو، بلڪ دنيا ۾ بہ سندس حالت بدلي وئي ۽ الله ايوب کي جيترو هُن وٽ اڳ ۾ هو ان کان ٻيڻو ڏئي ڇڏيو. (ايوب ٤٢ : ١٢) حديث ۾ ان ڳالهہ کي مثال جي لفظن ۾ اهڙي طرح چيو ويو آهي تہ الله تعاليٰ جڏهن ٻيهر ايوب عليہ السلام جا ڏينهن ڦيريا تہ ان تي سون جي تڏن جو مينهن وسايو. (امطر عليہ جردا من ذهب، تفسير ابن ڪثير، الجزء الثالث ص ١٨٩)

وَاِسۡمٰعِيۡلَ وَاِدۡرِيۡسَ وَذَا الۡكِفۡلِ ؕ كُلٌّ مِّنَ الصّٰبِرِيۡنَ ﴿٨٥﴾ۚ وَاَدۡخَلۡنٰهُمۡ فِىۡ رَحۡمَتِنَا ؕ اِنَّهُمۡ مِّنَ الصّٰلِحِيۡنَ ﴿٨٦﴾

۽ اسماعيل ۽ ادريس ۽ ذوالڪفل کي اهي سڀ صبر ڪرڻ وارن مان هئا ۽ اسان انهن کي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪيو. بيشڪ اُهي نيڪ عمل ڪرڻ وارن مان هئا. ٨٥-٨٦

---

حضرت اسماعيل حضرت ابراهيم جو پٽ هو، ڪجهہ مفسرن حضرت ادريس مان اهو پيغمبر

مراد ورتو آهي، جنهن جو ذڪر بائيبل ۾ حنوڪ (Enoch) جي نالي سان آيو آهي. اهڙي طرح حضرت ذوالڪفل مان مراد گهڻو ڪري اهو نبي آهي جيڪو بائيبل ۾ حزقي ايل جي نالي سان ذڪر ڪيل آهي.

انهن پيغمبرن جي خاص صفت صبر ٻڌائي وئي آهي، ان جي وجهه اها آهي ته صبر سيني خدا پرستي وارن عملن جو بنياد آهي. صبر جو مطلب پنهنجي پاڻ ڪي ردعمل جي نفسيات کان بچائڻ آهي، جيڪو ماڻهو پنهنجي پاڻ ڪي ردعمل جي نفسيات کان نه بچائي، اهو امتحان جي هن دنيا ۾ ڪڏهن به الله تعاليٰ جي پسند واري زندگي تي قائم نه ٿو رهي سگهي. حقيقت اها آهي ته صبر الله تعاليٰ جي سيني رحمتن جو در آهي. هن دنيا ۾ به ۽ موت کان پوءِ اچڻ واري ٻي دنيا ۾ به.

وَ ذَا النُّوۡنِ اِذۡ ذَّهَبَ مُغَاضِبًا فَظَنَّ اَنۡ لَّنۡ نَّقۡدِرَ عَلَيۡهِ فَنَادٰى فِى الظُّلُمٰتِ اَنۡ لَّاۤ اِلٰهَ اِلَّاۤ اَنۡتَ سُبۡحٰنَكَ ۖ اِنِّىۡ كُنۡتُ مِنَ الظّٰلِمِيۡنَ ۚ ﴿۸۷﴾ فَاسۡتَجَبۡنَا لَهٗ ۙ وَ نَجَّيۡنٰهُ مِنَ الۡغَمِّ ؕ وَ كَذٰلِكَ نُـنۡجِى الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۸۸﴾

۽ مڇي واري (يونس) کي جڏهن ته هو پنهنجي قوم کان ڪاوڙجي هليو ويو، پوءِ ان اهو سمجهو ته اسان سندس پڪڙ نه ڪنداسون. پوءِ هُن اونداهين ۾ پڪاريو ته تنهنجي سواءِ ڪو معبود نه آهي. تون پاڪ آهين. بيشڪ آئون قصوروار آهيان. پوءِ اسان هُن جي دعا قبول ڪئي ۽ ان کي غم مان نجات ڏني ۽ اهڙي طرح اسان ايمان وارن کي نجات ڏيندا آهيون. ٨٧-٨٨

---

حضرت يونس عليه السلام عراق جي هڪ قديم شهر نينويٰ ڏانهن پيغمبر بڻائي موڪليا ويا. ان وقت نينويٰ جي آبادي هڪ لک کان ڪجهه وڌيڪ هئي. انهن هڪ عرصي تائين قوم کي توحيد ۽ آخرت ڏانهن سڏيو، پر اهي ماڻهو مڃڻ لاءِ تيار نه ٿيا. پيغمبرن جي باري ۾ الله تعاليٰ جي سنت اها آهي ته حجت پوري ٿيڻ کان پوءِ به جيڪڏهن قوم پيغمبر جي منڪر رهي ته پيغمبر کي وسندي ڇڏڻ جو حڪم ٿيندو آهي ۽ قوم تي عذاب اچي ويندو آهي. حضرت يونس خيال ڪيو ته اهو وقت اچي ويو آهي ۽ خدا طرفان هجرت جو حڪم ملڻ کان سواءِ قوم کي ڇڏي هليا ويا.

شهر مان نڪري هو سمنڊ جي ڪناري آيا ۽ هڪ ٻيڙي ۾ سوار ٿي ويا. رستي ۾ ٻيڙي ٻڏڻ لڳي ماڻهن سمجهيو ته ڪو غلام پنهنجي مالڪ کان ڀڳو آهي، قديم روايت جي مطابق ان جو حل اهو هو ته غلام کي سڃاڻي ان کي دريا ۾ اڇلايو وڃي، ڪُڻا ڪڍيا ويا ته حضرت يونس جو نالو ڪڻي ۾ نڪتو. تنهن ڪري انهن پاڻ عليه السلام کي دريا ۾ اڇلائي ڇڏيو. ان ئي وقت وڏي مڇي پاڻ عليه السلام کي ڳڙڪائي ورتو. مڇي پاڻ عليه السلام کي پنهنجي پيٽ ۾ رکيو ۽ پوءِ الله تعاليٰ جي حڪم سان پاڻ عليه السلام کي آڃي ڪناري تي ڇڏيو. پاڻ عليه السلام صحتياب ٿي ڪري ٻيهر پنهنجي قوم ۾ واپس آيا.

هڪ پيغمبر دعوت جي محاذ کي رڳو تڪميل کان پهرين ڇڏي ڏنو ته ان سان اهو واقعو پيش آيو. پوءِ ان پيغمبر جي وارثن جو ڪهڙو انجام ٿيندو جيڪي دعوت جي محاذ کي بلڪل ئي ڇڏي وينا هجن.

وَ زَكَرِيَّاۤ اِذۡ نَادٰى رَبَّهٗ رَبِّ لَا تَذَرۡنِىۡ فَرۡدًا وَّ اَنۡتَ خَيۡرُ الۡوٰرِثِيۡنَ ۚ ﴿۸۹﴾ فَاسۡتَجَبۡنَا لَهٗ ۫ وَ

وَهَبۡنَا لَهٗ يَحۡيٰى وَ اَصۡلَحۡنَا لَهٗ زَوۡجَهٗ ؕ اِنَّهُمۡ كَانُوۡا يُسٰرِعُوۡنَ فِى الۡخَيۡرٰتِ وَ يَدۡعُوۡنَنَا
رَغَبًا وَّ رَهَبًا ؕ وَ كَانُوۡا لَنَا خٰشِعِيۡنَ ﴿۹۰﴾

۽ زڪريا کي جڏهن تہ هُن پنهنجي رب کي پڪاريو تہ اي منهنجا رب! تون مون کي اڪيلو نہ ڇڏ ۽ تون بهترين وارث آهين. تہ اسان هُن جي دعا قبول ڪئي ۽ هُن کي يحييٰ عطا ڪيو. هُن جي زال کي ان لاءِ درست ڪري ڇڏيو. اُهي ماڻهو نيڪ ڪمن ۾ اڳرائي ڪندا هئا ۽ اسان کي اميد ۽ خوف سان پڪاريندا هئا ۽ اسان جي اڳيان جهڪيل هئا. ٨٩-٩٠

پيغمبر خاص انعام يافتہ ماڻهو آهن. سندن سيني ڪان وڏي شخصي صفت اها هوندي آهي جو سندن ڪوششون دنيا جي لاءِ نہ هونديون آهن، بلڪ انهن شين ڏانهن هونديون آهن جيڪي آخرت جي لحاظ کان قيمت رکنديون هجن. الله جي عظمت کي اهي اهڙي طرح پائي وٺندا آهن جو اهوئي انهن کي سڀ ڪجهہ نظر اچڻ لڳي ٿو. اهي صرف ان ئي کان ڊڄندا آهن ۽ صرف ان ئي کي پڪاريندا آهن. اهي هرحال ۾ خوف ۽ عاجزي جي طريقي تي قائم رهندا آهن.

اهي شيون حضرت زڪريا ۽ ٻين نبين ۾ ڪمال درجي تي هيون ۽ ان ئي ڪري الله انهن کي پنهنجن خاص نعمتن سان نوازيو. عام ايمان وارا بہ جيتري قدر انهن صفتن جو ثبوت ڏيندا، اوتري قدر اهي خدا جي مدد ۽ عنايت جا مستحق قرار ڏنا ويندا.

وَ الَّتِىۡۤ اَحۡصَنَتۡ فَرۡجَهَا فَنَفَخۡنَا فِيۡهَا مِنۡ رُّوۡحِنَا وَ جَعَلۡنٰهَا وَ ابۡنَهَاۤ اٰيَةً لِّلۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۹۱﴾

۽ ان عورت جنهن پنهنجي عصمت کي بچايو تہ اسان ان جي اندر پنهنجو روح ڦوڪي ڇڏيو ۽ ان کي ۽ ان جي پٽ کي دنيا وارن لاءِ هڪ نشاني بڻايو. ٩١

حضرت مريم عليها السلام جي صفت خاص اها ٻڌائي وئي آهي تہ انهن پنهنجي عصمت کي بچايو. ان جو انهن کي اهو انعام مليو جو هو ان پيغمبر جي ماءُ بڻائي وئي، جيڪو براه راست خدا جي معجزي تحت پيدا ٿيو.

اهائي ڳالهہ عام مردن ۽ عورتن لاءِ بہ صحيح آهي، هر هڪ جو امتحان موجوده دنيا ۾ اهو آهي جو هو پنهنجن شهوتن ۽ خواهشن کي قابو ۾ رکي، جيڪو ماڻهو جيترو وڌيڪ ان صبر جو ثبوت ڏيندو تہ ان جي بقدر هو الله جي خاص عنايتن ۾ حصيدار بڻجي ويندو.

اِنَّ هٰذِهٖۤ اُمَّتُكُمۡ اُمَّةً وَّاحِدَةً ۖ وَّ اَنَا رَبُّكُمۡ فَاعۡبُدُوۡنِ ﴿۹۲﴾ وَ تَقَطَّعُوۡۤا اَمۡرَهُمۡ بَيۡنَهُمۡ ؕ كُلٌّ
اِلَيۡنَا رٰجِعُوۡنَ ﴿۹۳﴾ فَمَنۡ يَّعۡمَلۡ مِنَ الصّٰلِحٰتِ وَ هُوَ مؤمن فَلَا كُفۡرَانَ لِسَعۡيِهٖ ۚ وَ اِنَّا لَهٗ
كٰتِبُوۡنَ ﴿۹۴﴾

۽ هي توهان جي امت هڪ ئي امت آهي ۽ آئون ئي توهان جو رب آهيان، تنهن ڪري توهان منهنجي عبادت ڪريو ۽ انهن پنهنجو دين پاڻ ۾ ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. سيئي اسان وٽ اچڻ وارا آهن، پوءِ

جيڪو شخص نيڪ عمل ڪندو ۽ اهو مؤمن به هوندو ته ان جي محنت جي ناقدري نه ٿيندي ۽ اسان ان کي لکي وٺندا آهيون. ٩٢-٩٤

---

الله تعاليٰ سڀني نبين کي هڪ ئي دين ڏئي موڪليو آهي. اهو هي ته صرف هڪ الله تعاليٰ کي پنهنجو الله بڻايو ۽ ان ئي جي عبادت ڪريو. جيڪڏهن ماڻهو ان ئي اصل دين تي قائم رهن ها ته سڀ هڪ ئي امت بڻجي رهن ها. پر ماڻهن پنهنجي طرفان نوان نوان بحث ڪڍي دين جا مختلف ايڊيشن تيار ڪري ورتا. ڪنهن هڪڙي کي ورتو ۽ ڪنهن ٻئي کي. اهڙي طرح هڪڙو دين ڪيترن ئي دينن ۾ تقسيم ٿي رهجي ويو.

الله تعاليٰ وٽ ايمان ۽ عمل جي قيمت آهي، يعني الله جي سچي معرفت ۽ الله جي سچي تابعداري. ان کان سواءِ جيڪي شيون آهن، انهن جي الله وٽ ڪا قدرداني نه ٿيندي. چاهي ڪو شخص خود انهن کي ڪيترو ئي گهڻو قابل قدر ڇو نه سمجهندو هجي.

وَ حَرٰمٌ عَلٰى قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَاۤ اَنَّهُمْ لَا يَرْجِعُوْنَ ﴿٩٥﴾ حَتّٰۤى اِذَا فُتِحَتْ يَاْجُوْجُ وَ مَاْجُوْجُ وَ هُمْ مِّنْ كُلِّ حَدَبٍ يَّنْسِلُوْنَ ﴿٩٦﴾ وَ اقْتَرَبَ الْوَعْدُ الْحَقُّ فَاِذَا هِيَ شَاخِصَةٌ اَبْصَارُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ يٰوَيْلَنَا قَدْ كُنَّا فِيْ غَفْلَةٍ مِّنْ هٰذَا بَلْ كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ﴿٩٧﴾

۽ جنهن بستي وارن لاءِ اسان هلاڪت مقدر ڪري ڇڏي آهي. انهن لاءِ حرام آهي جو اُهي رجوع ڪن، ايستائين جو ياجوج ۽ ماجوج کوليا وڃن ۽ اُهي هر بلندي کان نڪري اچن ۽ سچو واعدو ويجهو اچي پهچندو ته انهن ماڻهن جون اکيون ٽڙي ويندين جن انڪار ڪيو هو. هاءِ اسان جي بدبختي اسان ان کان غفلت ۾ هئاسون، بلڪ اسان ظالم هئاسون. ٩٥-٩٧

---

ڪنهن بستي لاءِ ايمان ۾ داخل ٿيڻ حرام هئڻ جو مطلب اهو آهي ته ان جي ايمان قبول ڪرڻ جي استعداد ختم ٿي وڃي. جڏهن حق واضح دليلن سان سامهون اچي ٿو ته ماڻهو پنهنجي فطرت کان مجبور هوندو آهي جو هو ان کي سڃاڻي، هاڻي پوءِ جيڪي ماڻهو ان کي سڃاڻڻ کان پوءِ حق جو اعتراف ڪري وٺن، اهي پنهنجي فطرت کي باقي بچائي وٺندا آهن. ان جي ابتڙ جيڪي ماڻهو ٻين شين کي اهميت ڏيڻ جي ڪري ان جو اعتراف نه ڪن، اهي ڄڻ پنهنجي فطرت تي پردو وجهي رهيا آهن. حق جو انڪار هميشه پنهنجي فطرت کي انڌو بڻائڻ جي قيمت تي هوندو آهي. جيڪي ماڻهو پنهنجي فطرت کي انڌو بڻائڻ جو خطرو کڻن ته سندن انجام اهوئي آهي ته سندن لاءِ ايمان ۾ داخل ٿيڻ بلڪل ئي ناممڪن ٿي وڃي.

جيڪي ماڻهو دليل جي زبان ۾ حق کي نٿا سڃاڻن، اهي حق کي صرف ان وقت سڃاڻندا جڏهن قيامت سندن اکين تان پردو هٽائيندي. پر ان وقت جو سڃاڻڻ ڪنهن جي به ڪجهه ڪم نه ايندو. ڇاڪاڻ ته اهو وقت انجام ملڻ جو وقت هوندو، نه وري مڃڻ جو.

اِنَّكُمْ وَ مَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ حَصَبُ جَهَنَّمَ ؕ اَنْتُمْ لَهَا وٰرِدُوْنَ ﴿٩٨﴾ لَوْ كَانَ هٰۤؤُلَآءِ

اٰلِهَةً مَّا وَرَدُوۡهَا ؕ وَ كُلٌّ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿۹۹﴾ لَهُمۡ فِيۡهَا زَفِيۡرٌ وَّ هُمۡ فِيۡهَا لَا يَسۡمَعُوۡنَ ﴿۱۰۰﴾ اِنَّ
الَّذِيۡنَ سَبَقَتۡ لَهُمۡ مِّنَّا الۡحُسۡنٰٓى ۙ اُولٰٓئِكَ عَنۡهَا مُبۡعَدُوۡنَ ﴿۱۰۱﴾ لَا يَسۡمَعُوۡنَ حَسِيۡسَهَا ۚ
وَ هُمۡ فِىۡ مَا اشۡتَهَتۡ اَنۡفُسُهُمۡ خٰلِدُوۡنَ ﴿۱۰۲﴾ لَا يَحۡزُنُهُمُ الۡفَزَعُ الۡاَكۡبَرُ وَ تَتَلَقّٰهُمُ
الۡمَلٰٓئِكَةُ ؕ هٰذَا يَوۡمُكُمُ الَّذِىۡ كُنۡتُمۡ تُوۡعَدُوۡنَ ﴿۱۰۳﴾

بيشڪ توهان پاڻ ۽ جن کي توهان الله تعاليٰ کان سواءِ پوڄيندا آهيو سيئي جهنم جو ٻارڻ آهيو. اتي ئي توهان کي وڃڻو آهي. جيڪڏهن اهي واقعي معبود هجن ها ته ان ۾ نه پون ها ۽ سڀ ان ۾ هميشه رهندا. ان ۾ سندن لاءِ رڙيون ڪرڻ آهي ۽ اهي ان ۾ ڪجھ نه ٻڌندا! بيشڪ جن لاءِ اسان طرفان ڀلائي جو اڳ ۾ فيصلو ٿي چڪو آهي، اُهي ان کان پري رکيا ويندا. هو ان جي ڀڻڪ به نه ٻڌندا ۽ اهي پنهنجن پسند جي شين ۾ هميشه رهندا. انهن کي وڏي گهٻراهٽ غم ۾ نه وجهندي ۽ فرشتا سندن استقبال ڪندا. اهو آهي توهان جو اهو ڏينهن جنهن جو توهان سان واعدو ڪيو ويو هو. ٩٨-١٠٣

---

عبدالله بن الزبعري قديم عرب جو مشهور شاعر هو. اها آيت نازل ٿئي ته ان ماڻهن کي چيو ته محمد ﷺ کان پڇو ته ان جي خيال ۾ الله تعاليٰ کان سواءِ جيترا معبود آهن ۽ جيڪي ان جا عابد آهن، سڀ جا سڀ جهنم ۾ ويندا. ته پوءِ اسان ته فرشتن جي عبادت ڪندا آهيون. يهودي پيغمبر عزير عليه السلام جي عبادت ڪندا آهن. مسيح پيغمبر عيسيٰ عليه السلام جي عبادت ڪندا آهن. مشرڪ هن ڳالهه کي ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ پاڻ عليه السلام وٽ وڃي سوال پڇيو پاڻ ﷺ فرمايو هر هڪ جنهن اهو پسند ڪيو ته ان کي الله کان سواءِ پوڄو وڃي ته هو ان سان گڏ هوندو جنهن ان جي پوڄا ڪئي (كل من احب ان يعبد من دون الله فهو مع من عبده) ان جواب کان پوءِ عبدالله بن الزبعري وڌيڪ بحث نه ڪيو. بلڪ ان اسلام قبول ڪري ورتو (تفسير ابن ڪثير الجزا الثالث ص ١٩٩)

ان مان معلوم ٿيو ته هن آيت مان مراد يا ته اهي پٿر وغيره جا بت آهن يا اهي معبود جيڪي خود به پنهنجي معبود بڻجڻ تي راضي رهيا هئا. جنهن الله تعاليٰ کان سواءِ ڪنهن کي معبود بڻايو ۽ جنهن پنهنجي معبود بڻجڻ کي پسند ڪيو. ٻئي گڏجي جهنم ۾ وڌا ويندا. ته جيئن ماڻهن کي عبرت ملي.

قيامت جو ڏينهن انتهائي هولناڪ ڏينهن هوندو. پر جن ماڻهن کي اها توفيق ملي جو هو قيامت اچڻ کان اڳ ۾ قيامت کان ڊنا. اهي ان ڏينهن جي دهشت کان محفوظ رهندا. هو جنت جي راحتن سان ڀريل دنيا ۾ داخل ڪيا ويندا.

يَوۡمَ نَطۡوِى السَّمَآءَ كَطَىِّ السِّجِلِّ لِلۡكُتُبِ ؕ كَمَا بَدَاۡنَاۤ اَوَّلَ خَلۡقٍ نُّعِيۡدُهٗ ؕ وَعۡدًا
عَلَيۡنَا ؕ اِنَّا كُنَّا فٰعِلِيۡنَ ﴿۱۰۴﴾ وَ لَقَدۡ كَتَبۡنَا فِى الزَّبُوۡرِ مِنۡۢ بَعۡدِ الذِّكۡرِ اَنَّ الۡاَرۡضَ يَرِثُهَا
عِبَادِىَ الصّٰلِحُوۡنَ ﴿۱۰۵﴾ اِنَّ فِىۡ هٰذَا لَبَلٰغًا لِّقَوۡمٍ عٰبِدِيۡنَ ﴿۱۰۶﴾

جنهن ڏينهن اسان آسمان کي ڪاغذ جي ويڙهي وانگر ويڙهينداسون. جهڙي طرح اڳ ۾ اسان تخليق جي ابتدا ڪئي هئي، اهڙي طرح اسان ان کي ٻيهر بڻائينداسون. اهو واعدو اسان جي ذمي آهي ۽ اسان ان کي ڪري

رهنداسون ۽ زبور ۾ اسان نصيحت کان پوءِ لکي چڪا آهيون تہ زمين جا وارث اسان جا نيڪ ٻانها هوندا. ان ۾ هڪ وڏي خبر آهي عبادت گذار ماڻهن جي لاءِ. ١٠٤-١٠٦

---

ڪائنات جي موجوده وسعت امتحان واري دنيا بڻائڻ لاءِ آهي. ان کان پوءِ جڏهن انجام واري دنيا بڻائڻ جو وقت ايندو تہ الله تعاليٰ هن عالم کي ويڙهي وٺندو ۽ گهٽو ڪري ان ئي مادي سان ٻيو عالم بڻائيندو، جيڪو انجام واري مقصد جي مطابق هوندو. هڪ دنيا جو وجود ۾ اچڻ ئي ان ڳالهہ جو وڏو ثبوت آهي تہ ٻي دنيا بہ وجود ۾ اچي سگهجي ٿي.

موجوده دنيا ۾ برا ماڻهو اڪثر وڏائي جو مقام حاصل ڪري وٺندا آهن، پر اهو رڳو امتحان جي مدت تائين آهي. جڏهن امتحان جي مدت ختم ٿيندي ۽ ابدي طور تي الله جي معياري دنيا بڻائي ويندي تہ اتي هر قسم جي عزت ۽ راحت رڳو انهن ماڻهن جي حصي ۾ ايندي جيڪي موجوده امتحاني دور ۾ الله تعاليٰ جا سچا ٻانها ثابت ٿيا هوندا. اها ڳالهہ موجوده زبور ۾ بہ تفصيل سان موجود آهي. ان جا ڪجهہ لفظ اهي آهن.

۽ گناهہ ڪرڻ وارن تي تعجب نہ ڪر، الله تعاليٰ تي توڪل ڪر ۽ نيڪي ڪر. هو تنهنجي نيڪي کي نور وانگر ۽ تنهنجي حق کي منجهند وانگر روشن ڪندو، چاڪاڻ تہ بدڪردار ناس ڪيا ويندا. سچا زمين جا وارث هوندا ۽ اهي ان ۾ هميشہ رهندا. (زبور، باب ٣٧)

وَ مَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ۝۱۰۷ قُلْ اِنَّمَا يُوْحٰٓى اِلَيَّ اَنَّمَآ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَهَلْ
اَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ۝۱۰۸ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُلْ اٰذَنْتُكُمْ عَلٰى سَوَآءٍ ؕ وَ اِنْ اَدْرِيْٓ اَقَرِيْبٌ اَمْ بَعِيْدٌ
مَّا تُوْعَدُوْنَ۝۱۰۹ اِنَّهٗ يَعْلَمُ الْجَهْرَ مِنَ الْقَوْلِ وَ يَعْلَمُ مَا تَكْتُمُوْنَ۝۱۱۰ وَ اِنْ اَدْرِيْ لَعَلَّهٗ
فِتْنَةٌ لَّكُمْ وَ مَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ۝۱۱۱ قٰلَ رَبِّ احْكُمْ بِالْحَقِّ ؕ وَ رَبُّنَا الرَّحْمٰنُ الْمُسْتَعَانُ
عَلٰى مَا تَصِفُوْنَ۝۱۱۲ ع ١٩ النصف

۽ اسان توکي تہ بس دنيا وارن لاءِ رحمت بڻائي موڪليو آهي. چئو تہ مون وٽ جيڪا وحي اچي ٿي اِها هي آهي تہ توهان جو معبود صرف هڪ معبود آهي. پوءِ ڇا توهان اطاعت گذار بڻجو ٿا. جيڪڏهن هو منهن موڙين تہ چئو تہ آئون توهان کي صاف طور اطلاع ڪري چڪو آهيان ۽ آئون نہ ٿو ڄاڻان تہ اها شيءِ جنهن جو توهان سان واعدو ڪيو پيو وڃي ويجهي آهي يا پري. بيشڪ هو ظاهر ڳالهہ کي بہ ڄاڻي ٿو ۽ ان ڳالهہ کي بہ جنهن کي توهان لڪائيندا آهيو ۽ مون کي خبر نہ آهي شايد اهو توهان لاءِ امتحان هجي ۽ فائدو وٺڻ لاءِ هڪ مهلت هجي، پيغمبر چيو تہ اي منهنجا رب! حق سان فيصلو ڪري ڇڏ ۽ اسان جو رب رحمان آهي. ان ئي کان اسان انهن ڳالهين تي مدد گهرون ٿا، جيڪي توهان بيان ڪندا آهيو. ١٠٧-١١٢

---

الله تعاليٰ طرفان جيترا پيغمبر آيا، سڀ هڪڙو ئي مقصد کڻي آيا. انهن جي ذريعي الله تعاليٰ اهو چاهيو ٿي تہ انسانن کي حقيقت جو اهو علم عطا ڪري جنهن کي اختيار ڪري اهي ابدي جنت جا رهواسي بڻجي سگهن. پر انسان هر بار پيغمبرن کي رد ڪندو رهيو.

ان لحاظ کان سيئي پيغمبر الله جي رحمت هئا، پر رسول اللهﷺ جو امتياز اهو آهي ته پاڻﷺ کي الله تعاليٰ پنهنجن ٻانهن لاءِ هڪ خاص عنايت جو ذريعو بڻايو. الله تعاليٰ اهو فيصلو ڪيو ته پاڻﷺ جي ذريعي هدايت جي ان دروازي کي هميشه لاءِ کولي ڇڏي، جيڪو اجا تائين انهن تي بند هو. ان ڪري پاڻﷺ جي مدعو قوم لاءِ الله تعاليٰ جو اهو خاص فيصلو ٿيو ته ان کي هرحال ۾ حق جي رستي تي آڻڻو آهي، ته جيئن پيغمبر سان گڏ هڪ طاقتور جماعت تيار ٿي وڃي ۽ اها دنيا ۾ انقلاب برپا ڪري تاريخ جو رخ موڙي ڇڏي. الله تعاليٰ جي رحمت جو اهو خاص منصوبو پاڻﷺ ۽ سندس اصحاب جي ذريعي انجام جي ڪمال کي پهتو.

(٢٢) سُوْرَةُ الْحَجِّ مَكِّيَّةٌ (١٠٣) اٰيَاتُهَا ٧٨ رُكُوْعَاتُهَا ١٠

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمْ ۚ اِنَّ زَلْزَلَةَ السَّاعَةِ شَيْءٌ عَظِيْمٌ ① يَوْمَ تَرَوْنَهَا تَذْهَلُ كُلُّ مُرْضِعَةٍ عَمَّاۤ اَرْضَعَتْ وَ تَضَعُ كُلُّ ذَاتِ حَمْلٍ حَمْلَهَا وَ تَرَى النَّاسَ سُكٰرٰى وَ مَا هُمْ بِسُكٰرٰى وَ لٰكِنَّ عَذَابَ اللّٰهِ شَدِيْدٌ ② وَ مِنَ النَّاسِ مَنْ يُّجَادِلُ فِي اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ وَّ يَتَّبِعُ كُلَّ شَيْطٰنٍ مَّرِيْدٍ ③ كُتِبَ عَلَيْهِ اَنَّهٗ مَنْ تَوَلَّاهُ فَاَنَّهٗ يُضِلُّهٗ وَ يَهْدِيْهِ اِلٰى عَذَابِ السَّعِيْرِ ④

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

اي انسانو! پنهنجي رب کان ڊڄو. بيشڪ قيامت جو زلزلو وڏي ڳري شيءِ آهي. جنهن ڏينهن توهان ان کي ڏسندو هر کير پيارڻ واري پنهنجي کير پيئندڙ ٻار کي وساري ڇڏيندي ۽ هر حمل واري پنهنجو حمل ڪيرائي ڇڏيندي ۽ ماڻهو توکي مدهوش نظر ايندا، حالانڪ اُهي بيهوش نه هوندا. بلڪ الله جو عذاب وڏو سخت آهي ۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو به آهي جيڪو علم کان سواءِ الله جي باري ۾ تڪرار ڪندو آهي ۽ هر سرڪش شيطان جي پيروي ڪرڻ لڳندو آهي. جنهن بابت هي لکجي چڪو آهي ته جيڪو ماڻهو ان کي دوست بڻائيندو، هو ان کي گمراه ڪري ڇڏيندو ۽ ان کي جهنم جي عذاب جو رستو ڏيکاريندو. ١-٤

---

”کير پيارڻ واري پنهنجي کير پيئندڙ ٻار کي وساري ڇڏيندي ۽ حمل واري عورت پنهنجو حمل ڪيرائي ڇڏيندي.“ هي مثال جي زبان ۾ قيامت دهشت ناڪ هجڻ جو بيان آهي. يعني ان ڏينهن ماڻهن جو اهو حال هوندو ته جيڪڏهن ماءُ جي ڪڇ ۾ کير پيئندڙ ٻار هجي ته گهبراهٽ جي ڪري هو پنهنجي ٻار کي وساري ڇڏيندي ۽ جيڪڏهن ڪا حامله عورت هوندي ته خوف جي شدت کان سندس حمل ڪري پوندو.

اسان جي موجوده دنيا ۾ جيڪي زلزلا ايندا آهن، اهي قيامت جي واقعي جو هڪ معمولي نمونو آهن. قيامت جو سيني کان وڏو زلزلو جڏهن ايندو ته ماڻهو هر اُها شيءِ وساري ڇڏيندو، جنهن

ڪي اهميت ڏيڻ جي ڪري هو قيامت جي ڏينهن ڪي وساري ويٺو هو. ايستائين جو پنهنجي سيني ڪان پياري شيءِ بہ ان ڏينهن ان ڪي ياد نہ رهندي.

پيغمبر جي ڳالهہ علم جي بنياد تي هوندي آهي. هو دليلن سان ان کي ثابت ڪندو آهي، پر جيڪي ماڻهو پاڻ کان ٻاهر جي ڪنهن بہ صداقت جو اعتراف ڪرڻ نہ ٿا چاهين، اهي پاڻ کي حق تي ظاهر ڪرڻ لاءِ پيغمبر جي ڳالهہ ۾ اجايا ۽ ڪوڙا بحث ڪندا آهن. اهڙي قسم جي روش الله تعاليٰ جي مقابلي ۾ سرڪشي ڪرڻ جي برابر آهي. جيڪي ماڻهو اهڙي طرح بحث ڪي حق جو پيغام نہ مڃڻ جو عذر ٺاهين. اهي ڄڻ تہ شيطان کي پنهنجو مشير بڻائي ويٺا آهن. هو ان ڳالهہ جو ثبوت ڏئي رهيا آهن جو هو الله جي خوف کان خالي آهن. بيخوفي جي نفسيات ماڻهو کي ان کان محروم ڪري ڇڏيندي آهي تہ هو حق کي سچائي ۽ ان جو اعتراف ڪري. هو نهايت آساني سان شيطان جو شڪار بڻجي ويندو آهي. اهڙو ماڻهو صرف قيامت جي زلزلي سان جاڳندو، پر قيامت جو زلزلو اهڙن ماڻهن لاءِ صرف جهنم جو در کولڻ لاءِ ايندو آهي نہ وري انهن کي هدايت جو رستو ڏيکارڻ لاءِ.

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنْ كُنْتُمْ فِيْ رَيْبٍ مِّنَ الْبَعْثِ فَاِنَّا خَلَقْنٰكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ
ثُمَّ مِنْ عَلَقَةٍ ثُمَّ مِنْ مُّضْغَةٍ مُّخَلَّقَةٍ وَّ غَيْرِ مُخَلَّقَةٍ لِّنُبَيِّنَ لَكُمْ ؕ وَ نُقِرُّ فِي الْاَرْحَامِ
مَا نَشَآءُ اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى ثُمَّ نُخْرِجُكُمْ طِفْلًا ثُمَّ لِتَبْلُغُوْۤا اَشُدَّكُمْ ۚ وَ مِنْكُمْ مَّنْ
يُّتَوَفّٰى وَ مِنْكُمْ مَّنْ يُّرَدُّ اِلٰۤى اَرْذَلِ الْعُمُرِ لِكَيْلَا يَعْلَمَ مِنْۢ بَعْدِ عِلْمٍ شَيْـًٔا ؕ وَ تَرَى
الْاَرْضَ هَامِدَةً فَاِذَاۤ اَنْزَلْنَا عَلَيْهَا الْمَآءَ اهْتَزَّتْ وَ رَبَتْ وَ اَنْۢبَتَتْ مِنْ كُلِّ زَوْجٍۭ
بَهِيْجٍ ۝۵ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ وَ اَنَّهٗ يُحْيِ الْمَوْتٰى وَ اَنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝۶ وَّ اَنَّ
السَّاعَةَ اٰتِيَةٌ لَّا رَيْبَ فِيْهَا ۙ وَ اَنَّ اللّٰهَ يَبْعَثُ مَنْ فِي الْقُبُوْرِ ۝۷

اي انسانو! جيڪڏهن توهان ٻيهر جيئري ٿيڻ جي متعلق شڪ ۾ آهيو تہ اسان توهان کي مٽي مان پيدا ڪيو آهي، پوءِ نطفي مان، پوءِ رت جي دڳ مان، پوءِ گوشت جي ٻوٽي مان، شڪل واري ۽ بنا شڪل واري بہ. تہ جيئن اسان توهان تي واضح ڪريون ۽ اسان (ماءُ جي) رحم ۾ رکندا آهيون جيڪو چاهيندا آهيون هڪ مقرر مدت تائين. پوءِ اسان توهان کي ٻار بڻائي ٻاهر آڻيندا آهيون، تہ جيئن پوءِ توهان پنهنجي پوري جواني تائين پهچي وڃو ۽ توهان مان ڪو ماڻهو پهرين مري ويندو آهي ۽ ڪو ماڻهو نڪمي ڄمار تائين پهچايو ويندو آهي، تہ جيئن هو ڄاڻي وٺڻ کان پوءِ وري ڪجهہ نہ ڄاڻي، ۽ توهان زمين کي ڏسندا آهيو تہ خشڪ پيل آهي، پوءِ جڏهن اسان ان تي پاڻي وسائيندا آهيون تہ اها تازي ٿيندي ۽ اُڀامندي آهي ۽ هر طرح طرح جا سنا اوپڙ اپاريندي آهي. اهو ان ڪري جو الله ئي حق آهي ۽ هو بي جان ۾ جان وجهندو آهي ۽ هو هر شيءِ تي قادر آهي ۽ هي تہ قيامت اچڻ واري آهي، ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي ۽ الله ضرور ماڻهن کي اٿاريندو جيڪي قبرن ۾ آهن. ٥-٧

---

آخرت جي زندگي جي باري ۾ ماڻهو کي ان ڪري شڪ ٿيندو آهي جو ان جي سمجهہ ۾ نہ ٿو

اچي تہ جڏهن انسان مري ويندو تہ هو ڪهڙي طرح ٻيهر زنده ٿيندو. مرده ڪائنات ٻيهر زنده ڪائنات ڪيئن بڻجي ويندي.

ان شڪ جو جواب خود اسان جي موجوده دنيا جي شڪل ۾ موجود آهي. موجوده دنيا ڇا آهي؟ اهو هڪ حالت جو ٻي حالت ۾ تبديل ٿيڻ آهي. اها شيءِ جنهن کي اسان زنده وجود چوندا آهيون. اهو حقيقت ۾ زندگي کان سواءِ وجود جو تبديل ٿيڻ آهي. انساني جسم جو تجزيو ٻڌائي ٿو تہ هو لوهہ، ڪاربان، ڪئلشيم، نمڪيات، پاڻي ۽ گيسن وغيره سان ملي ٺهيو آهي. انساني وجود جا اهي مرڪب سڀ جا سڀ بي جان آهن. پر اُهي ئي روح ڪانسواءِ مادا تبديل ٿي ڪري روح وارين شين جي صورت اختيار ڪري وٺندا آهن ۽ انسان جي صورت ۾ هلڻ لڳندا آهن. پوءِ جيڪو انسان هڪ دفعو مئل مادي مان زنده صورت اختيار ڪري ٿو وٺي، اهو جيڪڏهن ٻيهر مئل مان زنده شڪل ۾ تبديل ٿي وڃي تہ ان ۾ تعجب جي ڪهڙي ڳالهہ آهي.

اهڙي طرح زمين جي ساوڪ کي ڏسو. مٽي يا ٻين جن شين سان ملي ساوڪ ٺهندي آهي، اهي سڀ جا سڀ ابتدا ۾ انهن خاصيتن کان خالي هوندا آهن جن جي مجموعي جو نالو ساوڪ آهي، پر اهي ئي شيون تبديل ٿي ڪري ساوڪ بڻجي وينديون آهن. تبديلي جو اهو واقعو روزانو اسان جي اکين جي سامهون ٿي رهيو آهي، پوءِ ان ٿيڻ واري واقعي جو ٻيهر ٿيڻ مشڪل ڪيئن ٿيندو.

حقيقت اها آهي تہ پهرين دنيا جو وجود ۾ اچڻ خود ٻي دنيا جي وجود ۾ اچڻ جو ثبوت آهي. هڪ دنيا جو تجربو ڪرڻ کان پوءِ ٻي دنيا کي سمجهڻ عقل ۽ منطق جي لحاظ کان ڪجهہ بہ مشڪل نہ آهي.

وَ مِنَ النَّاسِ مَنْ يُّجَادِلُ فِي اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ وَّ لَا هُدًى وَّ لَا كِتٰبٍ مُّنِيْرٍ ﴿٨﴾ ثَانِيَ عِطْفِهٖ
لِيُضِلَّ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ لَهٗ فِي الدُّنْيَا خِزْيٌ وَّ نُذِيْقُهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ عَذَابَ الْحَرِيْقِ ﴿٩﴾
ذٰلِكَ بِمَا قَدَّمَتْ يَدٰكَ وَ اَنَّ اللّٰهَ لَيْسَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ﴿١٠﴾

۽ ماڻهن ۾ ڪو شخص آهي جيڪو الله تعاليٰ جي ڳالهہ ۾ تڪرار ڪندو آهي، علم ۽ هدايت ۽ روشن ڪتاب کان سواءِ تڪبر ڪندي، تہ جيئن هو الله جي راهہ کان گمراهہ ڪري ڇڏي. ان جي لاءِ دنيا ۾ رسوائي آهي ۽ قيامت جي ڏينهن اسان ان کي ٻرندڙ باهہ جو عذاب چکائينداسون. اهو تنهنجي هٿ جي ڪيل ڪمن جو بدلو آهي ۽ الله پنهنجن ٻانهن تي ظلم ڪرڻ وارو نہ آهي. ٨-١٠

---

عرب جي ماڻهن شرڪ کي سچائي سمجهي اختيار ڪيو هو. پيغبر جي توحيد جي دعوت سان شرڪ کي مڃڻ وارن جي عقيدن ۾ بي يقيني پيدا ٿيڻ لڳي تہ انهن ماڻهن کي خطرو محسوس ٿيڻ لڳو، جيڪي شرڪ جي بنياد تي پنهنجي سرداري قائم ڪيل هئا. هڪ عام ماڻهو لاءِ شرڪ کي ڇڏڻ رڳو پنهنجي آبائي دين کي ڇڏڻ هوندو آهي، جڏهن تہ هڪ سردار لاءِ شرڪ جو خاتمو ان جي سرداري جي خاتمي برابر هوندو آهي، ان ڪري هر دور ۾ ملاوٽ کان پاڪ خالص دين جي دعوت جا سڀني کان وڏيڪ مخالف اهي ماڻهو بڻجي ٿا وڃن، جيڪي ملاوٽي دين جي بنياد تي پنهنجي قيادت قائم ڪيل هجن.

اهي ماڻهو حق جي دعوت ۽ ان جي داعي جي باري ۾ اجايا بحث شروع ڪندا آهن. اهي

ڪوشش ڪندا آهن ته سندن زير اثر عوام داعي جي دعوت جي باري ۾ مشڪوڪ ٿي وڃي ۽ پنهنجي رواجي دين تي قائم رهي.

حق جي مخالفت اهي رڳو ان ڪري ڪندا آهن جو هٿ ٺوڪيل دين جي بنياد تي انهن پنهنجي ڪوڙي وڏائي قائم ڪري رکي آهي، سا بدستور قائم رهي. انهن کي سچائي کان وڌيڪ پنهنجي ذات سان دلچسپي هوندي آهي. اهڙا ماڻهو الله جي نظر ۾ تمام وڏا مجرم آهن. قيامت ۾ سندن حصي ۾ رسوائي ۽ عذاب کان سواءِ ڪجهه به نه آهي.

وَ مِنَ النَّاسِ مَنۡ يَّعۡبُدُ اللّٰهَ عَلٰى حَرۡفٍ‌ۚ فَاِنۡ اَصَابَهٗ خَيۡرُ اِۨطۡمَاَنَّ بِهٖ‌ۚ وَاِنۡ اَصَابَتۡهُ فِتۡنَةُ اِنۡقَلَبَ عَلٰى وَجۡهِهٖ‌ۚ خَسِرَ الدُّنۡيَا وَالۡاٰخِرَةَ‌ؕ ذٰلِكَ هُوَ الۡخُسۡرَانُ الۡمُبِيۡنُ ﴿۱۱﴾

۽ ماڻهن ۾ ڪو آهي جيڪو الله جي عبادت پاسيرو رهي ڪري ٿو. پوءِ جيڪڏهن کيس ڪو فائدو ٿو رسي ته هو ان عبادت تي قائم هوندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪا آزمائش پيش اچي ته منهن ڦيرائي ڇڏيندو آهي. ان دنيا به وڃائي ۽ آخرت به، اهوئي پڌرو خسارو آهي. ١١

---

هڪ ماڻهو اهو آهي جيڪو دين کي مڪمل صداقت طور دريافت ڪري ٿو. دين ان جي دل ۽ دماغ تي پوري طرح ڇانئجي ويندو آهي. هو ڪنهن شڪ شبهي کان سواءِ پنهنجي پاڻ کي دين جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي. ان جي نظر ۾ هر ٻي شيءِ غيراهم بڻجي ويندي آهي. اهو ئي ماڻهو الله تعاليٰ جي نظر ۾ سچو مؤمن آهي.

ٻيا ماڻهو اهي آهن جيڪي رڳو مٿانهين دل سان دين کي مڃين، اهڙن ماڻهن جون حقيقي دلچسپيون پنهنجن مفادن سان وابسته هونديون آهن. البته ظاهري طور واجبي اثر هيٺ اهي خود کي دين سان به وابسته ڪري وٺندا آهن. سندن اها وابستگي صرف ان وقت تائين هوندي آهي، جڏهن ته دين کي اختيار ڪرڻ سان انهن کي ڪو نقصان نه ٿي رهيو هجي، سندن مفاد تي ان سان ڪو فرق نه پوندو هجي، جيئن ئي انهن ڏٺو ته دين ۽ سندن مفاد ٻئي گڏوگڏ نه ٿا هلي سگهن، ته هو يڪدم ذاتي مفاد کي اختيار ڪري وٺندا آهن ۽ دين کي ڇڏي ڏيندا آهن.

اهي ئي ٻئي قسم جا ماڻهو آهن جن کي منافق چيو ويندو آهي. منافق انسان آخرت کي پائڻ ۾ به ناڪام رهي ٿو ۽ دنيا کي پائڻ ۾ به. ان جو سبب اهو آهي ته دنيا ۽ آخرت ٻنهي معاملن ۾ ڪاميابي جي لاءِ هڪ ئي شرط لازمي آهي ۽ اها يڪسوئي آهي ۽ اهائي اها قلبي صفت آهي، جنهن کان منافق انسان هميشه محروم هوندو آهي. هو پنهنجي ٻه طرفي رجحان جي ڪري نه پوري طرح آخرت ڏانهن توجهه ڏئي سگهي ٿو ۽ نه پوري طرح دنيا ڏانهن. اهڙي طرح هو ٻنهي مان ڪنهن جي به ڀرپور قيمت ادا نه ٿو ڪري سگهي. اهڙا ماڻهو ٻه طرفي محرومي جي علامت بڻجي رهجي ويندا آهن.

يَدۡعُوۡا مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مَا لَا يَضُرُّهٗ وَمَا لَا يَنۡفَعُهٗ‌ؕ ذٰلِكَ هُوَ الضَّلٰلُ الۡبَعِيۡدُ ﴿۱۲﴾ يَدۡعُوۡا لَمَنۡ ضَرُّهٗۤ اَقۡرَبُ مِنۡ نَّفۡعِهٖ‌ؕ لَبِئۡسَ الۡمَوۡلٰى وَلَبِئۡسَ الۡعَشِيۡرُ ﴿۱۳﴾ اِنَّ اللّٰهَ يُدۡخِلُ الَّذِيۡنَ

اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ یَفْعَلُ مَا یُرِیْدُ ﴿۱۴﴾

هو الله کان سواءِ اهڙي شيءِ کي پڪاري ٿو جيڪا نہ ان کي نقصان پهچائي سگهي ٿي ۽ نہ ان کي فائدو پهچائي سگهي ٿي. اها انتهائي درجي جي گمراهي آهي، هو اهڙي شيءِ کي پڪاري ٿو جنهن جو نقصان ان جي فائدي کان قريب آهي، کهڙو برو ڪارساز آهي ۽ کهڙو برو رفيق. بيشڪ الله انهن ماڻهن کي جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا، اهڙين جنتن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون. الله ڪري ٿو جيڪو هو چاهي ٿو. ١٢-١٤

---

الله تعالىٰ کي ڇڏڻ هميشہ الله تعالىٰ کان سواءِ ٻين جي ڀروسي جي ڪري هوندو آهي، جڏهن بہ ايئن ٿيندو آهي جو هڪ ماڻهو الله تعالىٰ جي سچي رستي کان هٽندو آهي يا ان کي نظرانداز ڪندو آهي تہ ان جو سبب اهو هوندو آهي جو هو الله تعالىٰ کان سواءِ ڪنهن ٻي شيءِ تي ڀروسو ڪيل هوندو آهي. اهو ڪڏهن ڪو بت هوندو آهي ۽ ڪڏهن بت کان سواءِ ڪا ٻي شيءِ.

پر هن دنيا ۾ هڪ الله تعالىٰ کان سواءِ ڪنهن کي بہ ڪا طاقت حاصل نہ آهي. ان ڪري ماڻهو جڏهن الله تعالىٰ کان سواءِ ٻين تي ڀروسو ڪندو آهي تہ هو طاقتور کي ڇڏي اهڙي فرضي شيءِ جو سهارو جهلي ٿو، جنهن جو طاقت جي لحاظ کان ڪو بہ وجود نہ آهي. ان کان وڌيڪ غلط ڳالهہ ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي.

وڌيڪ اهو تہ پنهنجي پاڻ کي الله تعالىٰ سان وابستہ ڪرڻ رڳو ضرورت جو تقاضو نہ آهي. بلڪ اهو حقيقت جو تقاضو بہ آهي ۽ اهو انسان مٿان الله جو حق آهي. ان ڪري جڏهن ماڻهو الله کي ڇڏي ڪن فرضي شين ڏانهن ويندو آهي تہ ان جو نقصان فوراً ان لاءِ مقدر ٿي ويندو آهي ۽ جيستائين ان جي نفعي جو سوال آهي، اهو تہ ڪڏهن بہ ملڻ وارو نہ آهي.

الله تعالىٰ جي غير کي سهارو بڻائڻ وارا بظاهر ان کي پاڻ کان مٿانهون سمجهندا آهن. نہ تہ اهي ان کي سهارو ئي نہ بڻائين، پر حقيقت اها آهي تہ اهو الله جو غير، جنهن کي سهارو بڻايو وڃي ۽ اُهي ماڻهو جيڪي ان کي پنهنجو سهارو بڻائين، ٻئي مجبور ۽ ڪمزور آهن.

اهڙي دنيا ۾ جيڪي ماڻهو ان ڳالهہ جو ثبوت ڏين تہ انهن ماحول کان مٿي ٿي سوچيو. غير خدائن جي فريب واري ماحول ۾ انهن خدا کي دريافت ڪيو ۽ پوءِ صرف آخرت جي لاءِ پنهنجي زندگي کي الله جي پسند واري رستي تي وجهي ڇڏيو، اهي هن دنيا جا سڀ کان وڌيڪ قيمتي روح آهن. الله تعالىٰ سندن قدرداني اهڙي طرح ڪندو جو انهن کي جنت جي ڪامل دنيا ۾ آباد ڪندو، جتي اهي ابدي طور تي عيش ۾ هوندا.

مَنْ کَانَ یَظُنُّ اَنْ لَّنْ یَّنْصُرَهُ اللّٰهُ فِی الدُّنْیَا وَ الْاٰخِرَةِ فَلْیَمْدُدْ بِسَبَبٍ اِلَی السَّمَآءِ ثُمَّ لْیَقْطَعْ فَلْیَنْظُرْ هَلْ یُذْهِبَنَّ کَیْدُهٗ مَا یَغِیْظُ ﴿۱۵﴾ وَ کَذٰلِکَ اَنْزَلْنٰهُ اٰیٰتٍۭ بَیِّنٰتٍ ۙ وَّ اَنَّ اللّٰهَ یَهْدِیْ مَنْ یُّرِیْدُ ﴿۱۶﴾

جيڪو ماڻهو اهو گمان رکندو هجي ته الله دنيا ۽ آخرت ۾ هن جي مدد نه ڪندو، ته ان کي گهرجي ته هڪ رسي آسمان تائين ڇڪي، پوءِ ان کي وڍي ڇڏي ۽ ڏسي ته ڇا ان جي تدبير ان جي ڪاوڙ کي پري ڪرڻ واري بڻجي ٿي ۽ اهڙي طرح اسان قرآن کي واضح دليلن سان نازل ڪيو آهي ۽ بيشڪ الله جنهن کي چاهي ٿو هدايت ڏي ٿو. ١٥-١٦

---

رسول الله ﷺ ماڻهن کي حق ڏانهن پڪاريو ته جيڪي ماڻهو ناحق جي بنياد تي پنهنجي عمارت قائم ڪيل هئا. اهي پاڻ ﷺ جا دشمن ٿي ويا. مخالفت وڌندي رهي ايستائين جو ايئن پئي لڳو ڄڻ ناحق جا علمبردار حق جي علمبردارن جو خاتمو ڪري ڇڏيندا. اهڙين نازڪ حالتن ۾ ڪجهه مسلمانن جي دلين ۾ اهو وسوسو پيدا ٿيو ته جيڪڏهن اسان حق تي آهيون ته الله تعاليٰ اسان جي مدد ڇو نه ٿو ڪري. حق ۽ ناحق جي ڪشمڪش ۾ الله تعاليٰ غير جانبدار ڇو بڻيل آهي.

فرمايو ويو ته الله تعاليٰ بيشڪ هميشه حق جو ساٿ ڏيندو آهي، پر الله جو اهو طريقو نه آهي جو هو فوراًمداخلت ڪري. هو معاملن جي ان حدتائين پهچڻ جو انتظار ڪندو آهي جتي هڪ فريق جو حق هجڻ ۽ ٻي فريق جو باطل هجڻ پوري طرح ثابت ٿي وڃي. جڏهن اها حد اچي ويندي آهي ته ان وقت الله تعاليٰ بغير ڪنهن تاخير جي مداخلت ڪري فيصلو ڪري ڇڏيندو آهي.

اها الله تعاليٰ جي سنت آهي. ماڻهو کي گهرجي ته هو پاڻ کي الله تعاليٰ جي ان سنت تي راضي ڪري، ڇاڪاڻ ته ان کان سواءِ ڪا ٻي شيءِ هن زمين ۽ آسمان جي اندر ممڪن نه آهي. ان کان سواءِ هر رستو موت جو رستو آهي، نه وري زندگي جو رستو.

إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَالَّذِينَ هَادُوا وَالصَّابِئِينَ وَالنَّصَارَىٰ وَالْمَجُوسَ وَالَّذِينَ أَشْرَكُوا إِنَّ اللَّهَ يَفْصِلُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ ۚ إِنَّ اللَّهَ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ شَهِيدٌ ﴿١٧﴾

ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته جن ماڻهن ايمان آندو ۽ جن يهوديت اختيار ڪئي ۽ صابئي ۽ نصارا ۽ مجوس ۽ جن شرڪ ڪيو، الله انهن سڀني جي وچ ۾ قيامت جي ڏينهن فيصلو ڪندو، بيشڪ الله هر شيءِ کان واقف آهي. ١٧

---

هن آيت ۾ ڇهن مذهبي جماعتن جو ذڪر آهي، مسلمان، يهودي، صابئي، نصارا، مجوسي ۽ مڪي جا مشرڪ. يهودي حضرت موسيٰ کي مڃڻ وارا ماڻهو هئا. اهڙي طرح صابئي حضرت يحيٰ کي مڃڻ وارا هئا. نصارا حضرت عيسيٰ کي مجوسي زردشت کي ۽ مشرڪ حضرت ابراهيم کي.

اهي سڀئي ماڻهو ابتدا ۾ توحيد پرست هئا. پر پوءِ انهن پنهنجي دين ۾ بگاڙ پيدا ڪري ورتو ۽ هاڻي اهي ان بگڙيل دين تي قائم آهن. مسلمانن جو حال به عملن ايئن ئي ٿي سگهي ٿو. مسلمانن جو ڪتاب جيتوڻيڪ محفوظ آهي، پر امتحان جي هن دنيا ۾ سندن هٿ ان سان ٻڌل نه آهن جو هو قرآن ۽ سنت جي هٿ ٺوڪيل تشريح ڪري پنهنجو هڪ دين ٺاهين ۽ ان هٿ ٺوڪيل دين تي قائم ٿي ڪري سمجهن ته اهي الله تعاليٰ جي دين تي قائم آهن.

الله تعاليٰ جو اصل دين هڪ آهي. پر ماڻهن جي پنهنجن تشريحن ۾ اهو مختلف بڻجي ويندو آهي. ان ڪري جڏهن ماڻهو خدا جي اصل دين تي هجن ته سندن وچ ۾ اتحاد وڌندو آهي. پر جڏهن ماڻهو هٿ ٺوڪيل دين تي هلڻ لڳن ته هميشه سندن وچ ۾ مذهبي اختلاف پيدا ٿي ويندو آهي. اهي اختلاف

لامحدود وڌندا آهن. اهي ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندا آهن، جيئن تہ الله تعاليٰ کي هر ماڻهو جو حال پوري طرح معلوم آهي. اهو قيامت ۾ ٻڌائي ڇڏيندو تہ ڪير حق تي هو ۽ ڪير ناحق تي.

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يَسْجُدُ لَهٗ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَنْ فِي الْاَرْضِ وَ الشَّمْسُ وَ الْقَمَرُ وَ النُّجُوْمُ وَ الْجِبَالُ وَ الشَّجَرُ وَ الدَّوَآبُّ وَ كَثِيْرٌ مِّنَ النَّاسِ ؕ وَ كَثِيْرٌ حَقَّ عَلَيْهِ الْعَذَابُ ؕ وَ مَنْ يُّهِنِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ مُّكْرِمٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَفْعَلُ مَا يَشَآءُ ﴿١٨﴾ السجدة

ڇا تو نہ ڏٺو تہ الله تعاليٰ ئي جي اڳيان سجدو ڪندا آهن جيڪي آسمانن ۾ آهن ۽ جيڪي زمين ۾ آهن ۽ سج ۽ چنڊ ۽ ستارا ۽ جبل ۽ وڻ، ڍور ۽ گهڻا انسان ۽ گهڻا اهڙا آهن جن تي عذاب ثابت ٿي چڪو آهي ۽ جنهن کي الله ذليل ڪري ڇڏي تہ ان کي ڪو عزت ڏيڻ وارو نہ آهي. بيشڪ الله ڪري ٿو جيڪو هو چاهي ٿو. ١٨

جهڙي طرح انسان لاءِ الله تعاليٰ جو هڪ قانون آهي. اهڙي طرح باقي ڪائنات لاءِ بہ الله تعاليٰ جو هڪ قانون آهي. باقي ڪائنات الله تعاليٰ جي قانون تي بغير ڪنهن اختلاف جي قائم آهي. اها نهايت اتفاق ۽ هم آهنگي سان الله تعاليٰ جي مقرر ڪيل قانون جي پيروي ڪري رهي آهي. اهو رڳو انسان آهي جيڪو اختلاف ڪندو آهي. هو هٽ ڌوڪيل تشريحون ڪري نون نون رستن تي هلڻ لڳندو آهي.

الله تعاليٰ جي نظر ۾ اهي ماڻهو تمام وڏا مجرم آهن، جيڪي الله تعاليٰ جي دين ۾ اختلاف پيدا ڪندا آهن، هو اختلاف ڪان سواءِ ڪائنات ۾ اختلاف سان رهڻ چاهين ٿا. جنهن دنيا ۾ چئني پاسي نهايت وسيع پيماني تي ”هڪ دين“ جو سبق ڏنو پيو وڃي، اتي انسان ”ڪيترائي دين“ ٺاهڻ ۾ مشغول آهي.

الله تعاليٰ جي ڪائنات الله جي مرضي جو عملي اعلان آهي. جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ جي قائم ڪيل ان عملي نموني جي خلاف هلندا آهن، اهي اڄ ئي پاڻ کي عذاب جو مستحق ثابت ڪري رهيا آهن. قيامت ان نتيجي جو صرف لفظي اعلان ڪندي، جنهن جو عملي اعلان هن اڄوڪي دنيا ۾ هر لمحي ٿي رهيو آهي.

هٰذٰنِ خَصْمٰنِ اخْتَصَمُوْا فِيْ رَبِّهِمْ ٘ فَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا قُطِّعَتْ لَهُمْ ثِيَابٌ مِّنْ نَّارٍ ؕ يُصَبُّ مِنْ فَوْقِ رُءُوْسِهِمُ الْحَمِيْمُ ﴿١٩﴾ يُصْهَرُ بِهٖ مَا فِيْ بُطُوْنِهِمْ وَ الْجُلُوْدُ ﴿٢٠﴾ وَ لَهُمْ مَّقَامِعُ مِنْ حَدِيْدٍ ﴿٢١﴾ كُلَّمَاۤ اَرَادُوْۤا اَنْ يَّخْرُجُوْا مِنْهَا مِنْ غَمٍّ اُعِيْدُوْا فِيْهَا ٝ وَ ذُوْقُوْا عَذَابَ الْحَرِيْقِ ﴿٢٢﴾ ع ٢

اهي ٻہ فريق آهن جن پنهنجي رب جي باري ۾ جهڳڙو ڪيو. پوءِ جن انڪار ڪيو انهن لاءِ باهہ جا ڪپڙا ورچيا ويندا. سندن مٿن تي ٽهڪندڙ پاڻي وڌو ويندو. ان سان سندن پيٽ جون شيون ڳري وينديون ۽ کلون بہ ۽ سندن لاءِ اتي لوهہ جا هٿوڙا هوندا. جڏهن بہ اهي گهبرائي اتان ٻاهر نڪرڻ چاهيندا تہ وري ان ۾ ڌڪي ڇڏبا ۽ چکندا رهو سڙڻ جو عذاب. ١٩-٢٢

وڏي تقسيم ۾ سيئي جماعتون رڳو ٻه آهن. هڪ اهل حق ۽ ٻيا حق جو انڪار ڪرڻ وارا. جيڪي ماڻهو موجوده دنيا ۾ اهل حق سان جهڳڙو ڪندا آهن. اهي خود اهو سمجهندا آهن ته انهن وٽ دليلن جا پهاڙ آهن، پر اها رڳو سندن غيرسنجيدگي آهي جو سندن بي معنيٰ بحث انهن کي دليل جي روپ ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، اهي چاڪاڻ ته حق جو اعتراف ڪرڻ نه ٿا چاهين، ان ڪري هو ان جي خلاف ڪوڙا جهيڙا شروع ڪندا آهن، اهڙا ماڻهو آخرت ۾ حق جي عدم اعتراف نه ڪرڻ جي اهڙي سخت سزا پوڳيندا، جنهن مان اهي ڪڏهن به نڪري نه سگهن.

اِنَّ اللّٰهَ يُدۡخِلُ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجۡرِیۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ يُحَلَّوۡنَ فِيۡهَا مِنۡ اَسَاوِرَ مِنۡ ذَهَبٍ وَّ لُؤۡلُؤًا ؕ وَ لِبَاسُهُمۡ فِيۡهَا حَرِيۡرٌ ﴿۲۳﴾ وَ هُدُوۡۤا اِلَى الطَّيِّبِ مِنَ الۡقَوۡلِ ۚۖ وَ هُدُوۡۤا اِلٰى صِرَاطِ الۡحَمِيۡدِ ﴿۲۴﴾

بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا، الله انهن کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون جاري هونديون. انهن کي اتي سون جا ڪنگڻ ۽ موتي پارايا ويندا ۽ اتي سندن پوشاڪ ريشم هوندي ۽ انهن کي پاڪيزه قول جي هدايت ڏني وئي هئي ۽ انهن کي ساراهيل (الله) جو رستو ڏيکاريو ويو هو. ٢٣-٢٤

---

جنهن دنيا ۾ هر طرف ڏوڪي سان پريل لفظن جو چار وچايل هجي، جتي حق ڪان ڦريل ماڻهو غلبو حاصل ڪيل هجن، اهڙي ماحول ۾ ايمان جي صداقت کي سڃاڻڻ بيشڪ سخت مشڪل ڪم آهي ۽ ان ڪان به وڌيڪ مشڪل ڪم اهو آهي ته ايمان جي ان رستي تي عملن پنهنجي پاڻ کي هلائجي.

هي اهي ماڻهو آهن جن کي ڳالهين جي پرشور هنگامن ۾ پاڪيزه ڳالهه کي پائڻ جي توفيق ملي. جن ڪيترن ئي رستن جي هوندي ساراهيل رستي کي ڏٺو ۽ ان کي سڃاڻي ورتو، جيڪي ماڻهو دنيا ۾ هن عظيم لياقت جو ثبوت ڏين، اهي انسانيت جا سڀني ڪان وڌيڪ قيمتي ماڻهو آهن. اهي ان قابل آهن جو انهن کي جنت جي ابدي باغن ۾ وسايو وڃي.

اِنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا وَ يَصُدُّوۡنَ عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ وَ الۡمَسۡجِدِ الۡحَرَامِ الَّذِیۡ جَعَلۡنٰهُ لِلنَّاسِ سَوَآءَ ۨالۡعَاكِفُ فِيۡهِ وَ الۡبَادِ ؕ وَ مَنۡ يُّرِدۡ فِيۡهِ بِاِلۡحَادٍۢ بِظُلۡمٍ نُّذِقۡهُ مِنۡ عَذَابٍ
ع ١٠ اَلِيۡمٍ ﴿۲۵﴾

بيشڪ جن ماڻهن انڪار ڪيو ۽ اهي ماڻهن کي الله جي راهه ڪان ۽ مسجد حرام ڪان روڪيندا آهن، جنهن کي اسان ماڻهن لاءِ بڻايو آهي. جنهن ۾ شهر وارا ۽ ٻاهران اچڻ وارا برابر آهن ۽ جيڪو هن مسجد ۾ انصاف ڪان هٽي ظلم جو طريقو اختيار ڪندو ان کي اسان دردناڪ عذاب جو مزو چکائينداسون. ٢٥

---

حق جي انڪار ڪرڻ جو هڪ مثال اهو آهي جيڪو قديم مڪي ۾ پيش آيو. مڪي جي ماڻهن رسول الله ﷺ جي انتهائي پرامن تبليغ کي به برداشت نه ڪيو. انهن پاڻ ﷺ تي پابنديون لڳايون. پاڻ ﷺ کي ۽ سندس ساٿين کي ظلم جو نشانو بڻايو، ايستائين جو انهن اهو ظلم به ڪيو ته پاڻ ﷺ ۽ سندن اصحاب کي مسجد حرام ۾ داخل ٿيڻ ڪان روڪيو.

مڪي جي ماڻهن جي اها روش انڪار تي سرڪشي جو اضافو هئي. جيڪي ماڻهو اهڙي ظالماڻي روِيي جو ثبوت ڏين، انهن لاءِ الله وٽ سخت سزا آهي. چاهي اهي ماضي جا ظالم ماڻهو هجن يا حال جا ظالم ماڻهو ۽ چاهي سندن سرڪشي جو تعلق حضرت ابراهيم جي تعمير ڪيل مسجد سان هجي يا ان وسيع ”مسجد“ سان جنهن کي الله تعاليٰ زمين جي صورت ۾ سڀني ٻانهن لاءِ بڻايو آهي.

وَ اِذۡ بَوَّاۡنَا لِاِبۡرٰهِیۡمَ مَکَانَ الۡبَیۡتِ اَنۡ لَّا تُشۡرِکۡ بِیۡ شَیۡـًٔا وَّ طَہِّرۡ بَیۡتِیَ لِلطَّآئِفِیۡنَ وَ الۡقَآئِمِیۡنَ وَ الرُّکَّعِ السُّجُوۡدِ ﴿۲۶﴾

۽ جڏهن اسان ابراهيم کي بيت الله جي جاءِ ٻڌائي ڇڏي ته مون سان ڪنهن شيءِ کي شريڪ نه ڪجانءِ ۽ منهنجي گهر کي پاڪ رکجانءِ طواف ڪرڻ وارن لاءِ ۽ قيام ڪرڻ وارن لاءِ ۽ رڪوع ۽ سجدو ڪرڻ وارن لاءِ. ٢٦

---

حضرت ابراهيم عليه السلام جو زمانو چار هزار سال اڳ جو زمانو آهي. ان زماني ۾ سڄي آباد دنيا ۾ شرڪ جو مذهب ڇانيل هو، ايستائين جو شرڪ جي عام غلبي جي ڪري تاريخ ۾ شرڪ جو تسلسل قائم ٿي ويو هو، ان ڪري اها نوبت اچي وئي ته جيڪو ٻار پيدا ٿئي، اهو پنهنجي ماحول کان رڳو شرڪ جو سبق وٺي.

حضرت ابراهيم عليه السلام عراق ۾ پيدا ٿيا. الله تعاليٰ انهن کي حڪم ڏنو ته هو عراق ۽ شام ۽ مصر جهڙن آباد علائقن کي ڇڏي حجاز جي غيرآباد علائقي ۾ هليا وڃن ۽ اتي پنهنجي اولاد کي آباد ڪن، غيرآباد علائقي ۾ آباد ٿيڻ جو مقصد اهو هو ته هتي جي الڳ ٿلڳ دنيا ۾ هڪ اهڙو نسل پيدا ٿئي. جنهن جي شرڪ کان ڪٽجي پرورش ٿي سگهي، حضرت ابراهيم عليه السلام ان ئي خدائي منصوبي تحت پنهنجي اولاد کي موجوده مڪي ۾ آڻي آباد ڪيو. جيڪو ان وقت بلڪل غيرآباد هو. ان سان گڏ حضرت ابراهيم عليه السلام هڪ مسجد (خانهٔ ڪعبه) جي تعمير ڪئي، ته جيئن اها نئين نسل لاءِ ۽ پوءِ سڄي دنيا لاءِ هڪ الله جي عبادت جو مرڪز بڻجي سگهي.

وَ اَذِّنۡ فِی النَّاسِ بِالۡحَجِّ یَاۡتُوۡکَ رِجَالًا وَّ عَلٰی کُلِّ ضَامِرٍ یَّاۡتِیۡنَ مِنۡ کُلِّ فَجٍّ عَمِیۡقٍ ﴿ۙ۲۷﴾ لِّیَشۡہَدُوۡا مَنَافِعَ لَہُمۡ وَ یَذۡکُرُوا اسۡمَ اللّٰہِ فِیۡۤ اَیَّامٍ مَّعۡلُوۡمٰتٍ عَلٰی مَا رَزَقَہُمۡ مِّنۡۢ بَہِیۡمَۃِ الۡاَنۡعَامِ ۚ فَکُلُوۡا مِنۡہَا وَ اَطۡعِمُوا الۡبَآئِسَ الۡفَقِیۡرَ ﴿۫۲۸﴾ ثُمَّ لۡیَقۡضُوۡا تَفَثَہُمۡ وَ لۡیُوۡفُوۡا نُذُوۡرَہُمۡ وَ لۡیَطَّوَّفُوۡا بِالۡبَیۡتِ الۡعَتِیۡقِ ﴿۲۹﴾

۽ ماڻهن ۾ حج جو اعلان ڪر. اُهي توڏانهن ايندا پيرن تي هلي ۽ ڏٻرن اٺن تي سوار ٿي. جيڪي پري پري جي رستن کان ايندا، ته جيئن هو پنهنجي فائدي جي جڳهن تي پهچن ۽ ڪجهه معلوم ڏينهن ۾ انهن ڍورن تي الله جو نالو وٺن جيڪي ان انهن کي ڏنا آهن. پوءِ ان مان کائو ۽ عاجز محتاجن کي کارايو. پوءِ گهرجي ته هو پنهنجي مَر لاهين ۽ پنهنجون باسيل باسون پوريون ڪن ۽ ان قديم گهر جو طواف ڪن. ٢٧-٢٩

---

ڪعبي جي تعمير جو ابتدائي مقصد انهن ماڻهن لاءِ عبادت جو مرڪز فراهم ڪرڻ هو. جيڪي

”پنڌ“ هلي اُتي پهچڻ جي فاصلي تي رهندا هجن. پر آخرڪار ان کي سڄي عالم لاءِ الله تعاليٰ جي عبادت جو مرڪز بڻجڻو هو ۽ اهو مقصد پوري طرح حاصل ٿيو. هتي پهچي حاجي جيڪي حج جا رڪن ادا ڪندا آهن، قرآن ۾ ان جو مختصر بيان آهي ۽ حديثن ۾ ان جي پوري تفصيل موجود آهي.

”ته جيئن پنهنجن فائدن لاءِ حاضر ٿين“ جو مطلب اهو آهي ته دين جا فائدا جن کي اهي عقيدي طور مڃيندا آهن، انهن کي هتي عملي طور تي ڏسن. حج جي لاءِ ماڻهو جن جڳهن تي حاضر ٿيندو آهي، انهن سان خدا جي دين جي عظيم تاريخ وابسته آهي. ان ڪري اتي وڃڻ ۽ انهن کي ڏسڻ دلين کي نرم ڪرڻ جو سبب بڻبو آهي، اتي سڄي دنيا جا مسلمان جمع ٿيندا آهن. اهڙي طرح اتي اسلام جي بين الاقوامي وسعت ۽ حيثيت اکين سان ڏسڻ ۾ ايندي آهي. حج جو ساليانو اجتماع مسلمانن جي اندر عالمي سطح تي اتحاد پيدا ڪرڻ جو ذريعو بڻجي ٿو. ماڻهو کي ان سفر مان گهڻائي ديني ۽ دنياوي تجربا حاصل ٿيندا آهن. جيڪي ان لاءِ زندگي جي تعمير ۾ مددگار ٿيندا آهن، وغيره.

ذٰلِكَ ۚ وَ مَنْ يُّعَظِّمْ حُرُمٰتِ اللّٰهِ فَهُوَ خَيْرٌ لَّهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ؕ وَ اُحِلَّتْ لَكُمُ الْاَنْعَامُ اِلَّا مَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ فَاجْتَنِبُوا الرِّجْسَ مِنَ الْاَوْثَانِ وَ اجْتَنِبُوْا قَوْلَ الزُّوْرِ ۟ۙ ﴿٣٠﴾

اها ڳالهه تي چڪي ۽ جيڪو شخص الله جي حرمتن جي تعظيم ڪندو ته اهو ان جي حق ۾ ان جي رب وٽ بهتر آهي ۽ توهان لاءِ ڍور حلال ڪيا ويا آهن، سواءِ انهن جي جيڪي توهان کي پڙهي ٻڌايا ويا آهن. پوءِ توهان بتن جي پليتي کان بچو ۽ ڪوڙي ڳالهه کان پاسو ڪريو. ٣٠

---

حلال ڇا آهي ۽ حرام ڇا؟ ڪهڙي شيءِ مقدس آهي ۽ ڪهڙي شيءِ مقدس نه آهي. عبادت جا ڪهڙا طريقا درست آهن ۽ ڪهڙا طريقا درست نه آهن. اهي سڀئي ڳالهيون الله تعاليٰ پنهنجن پيغبرن ذريعي واضح طور تي ٻڌائي ڇڏيون آهن، انهن ۾ ڪنهن به قسم جي تبديلي جائز نه آهي. هر تبديلي جيڪا خود انهن شين ۾ ڪئي وڃي. اها الله جي نزديڪ ڪوڙ آهي، بلڪ اهو سڀ کان وڏو ڪوڙ آهي. انسان جي لاءِ لازم آهي ته انهن شين ۾ بلڪل لفظي طور تي پيغمبر جي تعليم جي پيروي ڪري. هو ڪنهن به حال ۾ ان ۾ ڪا به ڪمي پيشي نه ڪري.

اُهي ڪم اُهي آهن جن جي حقيقت صرف الله تعاليٰ کي معلوم آهي، ماڻهو جڏهن انهن ۾ پنهنجي طرفان ڪا ڳالهه چوندو آهي ته هو اهڙي شيءِ جي باري ۾ پنهنجي ڄاڻ جي دعويٰ ڪندو آهي، جنهن جي ان کي ڪا ڄاڻ نه آهي. ظاهر آهي ته اهو ڪوڙ آهي، بلڪ هي ايترو وڏو ڪوڙ آهي جو ان کان وڏو ڪوڙ ٻيو ڪو به نه آهي.

حُنَفَآءَ لِلّٰهِ غَيْرَ مُشْرِكِيْنَ بِهٖ ؕ وَ مَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَكَاَنَّمَا خَرَّ مِنَ السَّمَآءِ فَتَخْطَفُهُ الطَّيْرُ اَوْ تَهْوِيْ بِهِ الرِّيْحُ فِيْ مَكَانٍ سَحِيْقٍ ﴿٣١﴾

الله ڏانهن هڪ طرفو ٿيءُ ساڻس شريڪ مقرر نه ڪريو ۽ جيڪو شخص الله سان شرڪ ڪندو آهي ته ڄڻ هو آسمان تان ڪريو. پوءِ پکي ان کي جهٽي ويا يا واءُ ان کي ڪنهن پري جي هنڌ اڇليو. ٣١

---

هن ڪائنات ۾ مرڪزي قوت صرف هڪ آهي ۽ اها واحد الله تعاليٰ جي ذات آهي. جيڪو ماڻهو پنهنجي پاڻ کي الله تعاليٰ سان جوڙي، ان پاڻ لاءِ حقيقي ٽڪاڻو ڳولهي ورتو. هو مضبوط زمين تي بيهي رهيو. ان جي ابتڙ جنهن ماڻهو پنهنجي پاڻ کي خدا سان نه جوڙيو يا ايئن ٿيو جو هن زبان سان الله تعاليٰ جو اقرار ڪيو، پر پنهنجي دل جو تعلق ڪنهن ٻئي سان وابسته رکيو، ته هو ان مرڪز کان ڪٽجي ويو آهي، جنهن کان سواءِ هن ڪائنات ۾ ٻيو ڪو مرڪز نه آهي. اهڙي ماڻهو جو حال ان انسان جهڙو ٿيندو جنهن جو هڪ مثال مٿي آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي.

ذٰلِكَ ۗ وَ مَنْ يُّعَظِّمْ شَعَآئِرَ اللّٰهِ فَاِنَّهَا مِنْ تَقْوَى الْقُلُوْبِ ﴿٣٢﴾ لَكُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى ثُمَّ مَحِلُّهَاۤ اِلَى الْبَيْتِ الْعَتِيْقِ ﴿٣٣﴾

اها ڳالهه ٿي چڪي ۽ جيڪو شخص الله جي شعائر جو پورو لحاظ رکندو ته اها دل جي تقويٰ جي ڳالهه آهي. اوهان کي انهن مان هڪ مقرر وقت تائين فائدو ڪٽڻو آهي، پوءِ انهن کي قرباني جي قديم گهر ڏانهن وڃڻو آهي. ٣٢-٣٣

---

شعيره (جمع شعائر) جي معنيٰ علامت يا نشاني (Symbol) آهي. اسلام جون جيڪي عبادتون آهن، انهن جو هڪ ظاهري پهلو آهي ۽ هڪ روحاني پهلو. روحاني پهلو عبادت جو اصل آهي ۽ جيڪو ظاهري پهلو آهي، اهو ان ئي روحاني پهلو جي نشاني آهي، الله تعاليٰ جيڪي شعائر مقرر ڪيا آهن، انهن جو حق اهڙي طرح ادا نه ٿو ٿي سگهي جو ظاهري طور تي انهن جي تعظيم ڪري وٺجي. بلڪ انهن جو حق ادا ڪرڻ لاءِ دل جي تقويٰ گهربل آهي.

نياز (قرباني) جا جانور شعائرالله مان آهن. اهي هڪ حقيقت جي علامت آهن نه وري اهي بذات خود حقيقت آهن، انهن جانورن کي رنگڻ يا اِهو اهتمام ڪرڻ ته انهن تي سواري نه ڪجي، انهن مان ڪنهن به قسم جو فائدو نه وٺجي، هي اهي شيون نه آهن جن سان الله خوش ٿيندو آهي. الله جي خوشي ان ۾ آهي ته جيڪو ڪجهه ڪيو وڃي، اهو الله جي لاءِ ڪيو وڃي. الله وٽ قلبي حالت جو قدر آهي نه وري رڳو ظاهري حالت جو.

وَ لِكُلِّ اُمَّةٍ جَعَلْنَا مَنْسَكًا لِّيَذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلٰى مَا رَزَقَهُمْ مِّنْۢ بَهِيْمَةِ الْاَنْعَامِ ؕ فَاِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ فَلَهٗۤ اَسْلِمُوْا ؕ وَ بَشِّرِ الْمُخْبِتِيْنَ ﴿٣٤﴾ الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَ جِلَتْ قُلُوْبُهُمْ وَ الصّٰبِرِيْنَ عَلٰى مَاۤ اَصَابَهُمْ وَ الْمُقِيْمِي الصَّلٰوةِ ۙ وَ مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿٣٥﴾

۽ اسان هر امت لاءِ قرباني ڪرڻ مقرر ڪئي، ته جيئن هو انهن ڍورن تي الله جو نالو وٺن جيڪي ان انهن کي عطا ڪيا آهن. پوءِ توهان جو اِلٰهُ هڪ ئي اِلٰهُ آهي ته توهان ان ئي جا ٿي رهو ۽ عاجزي ڪرڻ وارن کي خوشخبري ڏئي ڇڏ. جن جو حال اهو آهي ته جڏهن الله جو ذڪر ڪيو ويندو آهي ته سندن دليون ڏڪي وينديون آهن ۽ جيڪي مٿن آيو تنهن تي صبر ڪرڻ وارا آهن ۽ نماز جي پابندي ڪرڻ وارا ۽ جيڪو ڪجهه اسان انهن کي ڏنو آهي، هو ان مان خرچ ڪندا آهن. ٣٤-٣٥

---

انسان هن دنيا ۾ جيڪا به پيداوار حاصل ڪري ٿو، چاهي اها زرعي پيداور هجي يا جانورن جي پيداوار يا صنعتي پيداوار، انهن جي باري ۾ ان جي اندر ٻن قسمن جي نفسيات پيدا ٿيندي آهي. هڪ اها ته هي منهنجي پنهنجي ڪمائي آهي يا اها ته اُها معبودن جي برڪت جو نتيجو آهي. اها نفسيات سراسر مشرڪاڻي نفسيات آهي.

ٻي نفسيات اها آهي ته ماڻهو جيڪو ڪجهه حاصل ڪري ان کي هو الله طرفان مليل شيءِ سمجهي عشر ۽ زڪوات ۽ قرباني ان ئي ٻئي جذبي جا ظاهري اظهار جا مقرر طريقا آهن. ماڻهو پنهنجي ڪمائي جو هڪ حصو خدا جي راهه ۾ ڏيندو آهي ۽ اهڙي طرح هو ان ڳالهه جو عملي اقرار ڪندو آهي ته ان وٽ جيڪو ڪجهه آهي، اهو خدا جو عطيو آهي نه وري ان جي پنهنجي ڪمائي.

انسان کي جيڪڏهن صحيح معنيٰ ۾ خدا جي معرفت حاصل ٿي وڃي ته ان کان پوءِ ان جي دل جو حال جيڪو ٿيندو اهو اهوئي هوندو جنهن کي هتي اخبات چيو ويو آهي. اهڙو ماڻهو سچي جو سچو الله تعاليٰ ڏانهن متوجهه ٿي ويندو. ان تي عجز جي ڪيفيت طاري ٿي ويندي، الله جي تصور سان ان جي دل لرزجي ويندي، هو پنهنجي هر شيءِ کي خدا جي شيءِ سمجهڻ لڳندو، نه وري پنهنجي ذاتي شيءِ.

وَ الْبُدْنَ جَعَلْنٰهَا لَكُمْ مِّنْ شَعَآىِٕرِ اللّٰهِ لَكُمْ فِيْهَا خَيْرٌ ۖۗ فَاذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلَيْهَا صَوَآفَّ ۚ فَاِذَا وَجَبَتْ جُنُوْبُهَا فَكُلُوْا مِنْهَا وَ اَطْعِمُوا الْقَانِعَ وَ الْمُعْتَرَّ ؕ كَذٰلِكَ سَخَّرْنٰهَا لَكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ۝۳۶ لَنْ يَّنَالَ اللّٰهَ لُحُوْمُهَا وَ لَا دِمَآؤُهَا وَ لٰكِنْ يَّنَالُهُ التَّقْوٰى مِنْكُمْ ؕ كَذٰلِكَ سَخَّرَهَا لَكُمْ لِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدٰىكُمْ ؕ وَ بَشِّرِ الْمُحْسِنِيْنَ ۝۳۷

۽ قرباني جي اٺن کي اسان توهان لاءِ الله جي نشانين مان بڻايو آهي، انهن ۾ توهان لاءِ ڀلائي آهي. پوءِ انهن کي بيهاري انهن تي الله جو نالو وٺو. پوءِ جڏهن اهي پاسن ڀر ڪري پون ته انهن مان کائو ۽ سوال نه ڪندڙ محتاج ۽ سوال ڪندڙ کي کارايو. اهڙي طرح اسان انهن جانورن کي توهان جي تابع ڪري ڇڏيو، ته جيئن توهان شڪر ادا ڪريو ۽ الله کي نه انهن جو گوشت پهچي ٿو ۽ نه انهن جو رت، بلڪ الله کي صرف توهان جي تقويٰ پهچندي آهي. اهڙي طرح الله انهن کي توهان جي تابع ڪري ڇڏيو آهي، ته جيئن توهان الله جي وڏائي بيان ڪريو جو اوهان کي هدايت ڪيائين ۽ نيڪي ڪرڻ وارن کي خوشخبري ڏي. ٣٦-٣٧

---

دنيا ۾ جيڪڏهن اٺ ۽ ٻيا ڍور نه هجن ها ۽ رڳو شينهن، رڇ ۽ بگهڙ هجن ها ته انهن کان خدمت وٺڻ انسان لاءِ گهڻو مشڪل ٿي پوي ها ۽ انهن جي وڏي پيماني تي قرباني ڪرڻ ته بلڪل ناممڪن ٿي وڃي ها. اهو الله تعاليٰ جو وڏو احسان آهي ته ان رڳو وحشي جانور نه پيدا ڪيا، بلڪ ڪجهه اهڙا جانور به پيدا ڪيا جن ۾ فطري طور تي اهو مزاج موجود آهي جو هو پنهنجي پاڻ کي انسان جي قابو ۾ ڏئي ڇڏيندا آهن ۽ جڏهن انسان انهن کي غذا يا قرباني لاءِ ذبح ڪندو آهي ته ان وقت انهن جي تابع ٿيڻ واري فطرت پنهنجي آخري حد تي پهچي ويندي آهي.

قرباني جو طريقو ان ڪري مقرر نه ڪيو ويو آهي جو الله تعاليٰ کي گوشت ۽ رت جي ضرورت نه آهي. قرباني ته رڳو هڪ علامتي فعل آهي. جانور جي قرباني ان انسان جي هڪ ظاهري تصوير آهي،

جيڪو پنهنجي پاڻ کي الله جي لاءِ ذبح ڪري چڪو آهي. هي اصل ۾ خود پنهنجو ذبح ٿيڻ آهي، جيڪو جانور جي ذبح جي صورت ۾ مثال بڻجي ٿو. خوش قسمت آهن اهي ماڻهو جن لاءِ جانور جي قرباني خود پنهنجي قرباني جي هم معنيٰ بڻجي وڃي.

اِنَّ اللّٰهَ يُدٰفِعُ عَنِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ كُلَّ خَوَّانٍ كَفُوْرٍ ﴿٣٨﴾ اُذِنَ لِلَّذِيْنَ
يُقٰتَلُوْنَ بِاَنَّهُمْ ظُلِمُوْا ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ عَلٰى نَصْرِهِمْ لَقَدِيْرُ ﴿٣٩﴾ الَّذِيْنَ اُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ
بِغَيْرِ حَقٍّ اِلَّاۤ اَنْ يَّقُوْلُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ؕ وَلَوْ لَا دَفْعُ اللّٰهِ النَّاسَ بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لَّهُدِّمَتْ
صَوَامِعُ وَبِيَعٌ وَّصَلَوٰتٌ وَّمَسٰجِدُ يُذْكَرُ فِيْهَا اسْمُ اللّٰهِ كَثِيْرًا ؕ وَلَيَنْصُرَنَّ اللّٰهُ مَنْ
يَّنْصُرُهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَقَوِيٌّ عَزِيْزٌ ﴿٤٠﴾

بيشڪ الله انهن ماڻهن تان ٽاريندو آهي جن ايمان آندو. بيشڪ الله خيانت ڪندڙن ۽ ناشڪرن کي پسند نہ ٿو ڪري. اجازت ڏني وئي انهن ماڻهن کي جن سان ويڙهہ وڙهي پئي وئي، ان ڪري جو انهن تي ظلم ڪيو ويو آهي ۽ بيشڪ الله انهن جي مدد تي قادر آهي. اهي ماڻهو جيڪي پنهنجن گهرن کان بي وجهہ ڪڍيا ويا صرف ان لاءِ جو هو چوندا آهن تہ اسان جو رب الله آهي ۽ جيڪڏهن الله ماڻهن کي هڪ ٻئي جي ذريعي نہ ٽاريندو رهي تہ خانقاهون ۽ گرجا ۽ عبادت جون جايون ۽ مسجدون جن ۾ الله جو نالو ڪثرت سان ورتو ويندو آهي ڊانيون وڃن ۽ الله ضرور ان جي مدد ڪندو جيڪو الله جي مدد ڪري. بيشڪ الله زبردست آهي زور وارو آهي. ٣٨-٤٠

---

الله جو ڪو ٻانهو يا ڪا جماعت پنهنجي پاڻ کي الله جي رستي تي وجهي ڇڏي تہ هو هن دنيا ۾ تنها نہ ٿو رهي. غافل ۽ سرڪش ماڻهو جڏهن ان کي پنهنجي ظلم جو نشانو بڻائين تہ الله تعاليٰ ظالمن جي مقابلي ۾ ان جي پاسي بيهي رهندو آهي. الله تعاليٰ شروع ۾ پنهنجو نالو وٺڻ وارن جي اخلاص جو امتحان وٺندو آهي، پر جيڪي ماڻهو امتحان ۾ پنهنجو مخلص هجڻ ثابت ڪري ڇڏين تہ الله تعاليٰ ضرور سندن مدد ڪندو آهي ۽ انهن لاءِ اهڙيون حالتون پيدا ڪندو آهي جو اهي سڀني رڪاوٽن تي قابو پائيندي حق تي ثابت قدم رهي سگهن.

ايمان وارن جو اصل ڪم صرف دعوت آهي. اهي دعوت سان آغاز ڪندا آهن ۽ دعوت تي ئي ثابت قدم رهندا آهن. اهي ضرورت جي وقت ڪڏهن جنگ بہ ڪندا آهن، پر سندن جنگ هميشہ دفاع لاءِ هوندي آهي نہ وري اڳرائي لاءِ.

هڪ جماعت جيڪڏهن گهڻي وقت تائين اقتدار ۾ رهي تہ ان جي اندر سرڪشي ۽ گهمنڊ پيدا ٿي ويندو آهي. ان ڪري الله تعاليٰ هن دنيا ۾ ”هٽائڻ“ جو قانون مقرر ڪيو آهي، هو بار بار هڪ جماعت جي ذريعي ٻي جماعت کي اقتدار جي مقام کان هٽائيندو آهي. اهڙي طرح تاريخ ۾ سياسي توازن قائم رهندو آهي. جيڪڏهن الله تعاليٰ ايئن نہ ڪري تہ ماڻهن جي سرڪشي ايستائين وڌي وڃي جو عبادت جي جڳهن جهڙا مقدس ادارا بہ انهن جي سرڪشي کان محفوظ نہ رهن.

ان هٽائڻ جي هڪ صورت اها آهي تہ ڪنهن جماعت جي اقتدار کي بلڪل ختم ڪري ڇڏجي. ان جو هڪ مثال موجوده زماني ۾ برطانيہ جو آهي، جنهن کي وطن جي آزادي وارين تحريڪن ذريعي

ختم ڪيو ويو. ٻيو طريقو اهو آهي جنهن جي مثال روس ۽ آمريڪا جي شڪل ۾ نظر ايندو آهي يعني هڪ جي ذريعي ٻئي کي روڪڻ ۽ اهڙي طرح بين الاقوامي سياست ۾ توازن قائم رکڻ.

اَلَّذِيْنَ اِنْ مَّكَّنّٰهُمْ فِي الْاَرْضِ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتَوُا الزَّكٰوةَ وَ اَمَرُوْا بِالْمَعْرُوْفِ وَ نَهَوْا عَنِ الْمُنْكَرِ ؕ وَ لِلّٰهِ عَاقِبَةُ الْاُمُوْرِ ﴿٤١﴾

هي اُهي ماڻهو آهن جن کي جيڪڏهن اسان زمين ۾ غلبو ڏيون ته اهي نماز جو اهتمام ڪندا ۽ زڪوات ادا ڪندا ۽ چڱائي جو حڪم ڏيندا ۽ برائي کان روڪيندا ۽ سڀني ڪمن جي پڇاڙي الله تعاليٰ جي اختيار ۾ آهي. ٤١

الله تعاليٰ جي مدد جو مستحق ٿيڻ جو خاص شرط اِهو آهي ته ماڻهو اهڙو هجي جو کيس اقتدار ملي پوءِ به هو نه بگڙي. ان کي وڏائي جو مقام ملڻ ان جي عاجزي ۾ نوڙت کي وڌائڻ وارو بڻجي وڃي، جيڪي ماڻهو اقتدار کان اڳ وارين حالتن ۾ اهڙي طرح صالح ثابت ٿين. اهي ئي اقتدار کان پوءِ جي حالتن ۾ صالح ثابت ٿي سگهن ٿا.

اهي ئي اُهي ماڻهو آهن. جن کي جڏهن ڪو اقتدار ڏنو وڃي ٿو ته هو الله تعاليٰ جي اڳيان جهڪي ويندا آهن. اهي ماڻهن جو پورو پورو حق ادا ڪندا آهن، اهي زندگي جي معاملن ۾ اهوئي ڪندا آهن جن کي الله تعاليٰ پسند ڪندو آهي ۽ ان کان پري رهندا آهن، جيڪو الله تعاليٰ کي پسند نه آهي.

وَ اِنْ يُّكَذِّبُوْكَ فَقَدْ كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّ عَادٌ وَّ ثَمُوْدُ ﴿٤٢﴾ وَ قَوْمُ اِبْرٰهِيْمَ وَ قَوْمُ لُوْطٍ ﴿٤٣﴾ وَّ اَصْحٰبُ مَدْيَنَ ۚ وَ كُذِّبَ مُوْسٰى فَاَمْلَيْتُ لِلْكٰفِرِيْنَ ثُمَّ اَخَذْتُهُمْ ۚ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ﴿٤٤﴾

۽ جيڪڏهن هو توکي ڪوڙو ڀائن ته ان کان اڳ نوح جي قوم ۽ عاد ۽ ثمود ڪوڙو ڄاتو ۽ ابراهيم جي قوم ۽ لوط جي قوم ۽ مدين جا ماڻهو به ۽ موسيٰ کي ڪوڙو ڄاتو ويو. پوءِ اسان منڪرن کي ڍر ڏني. پوءِ مون انهن کي پڪڙيو، پوءِ ڪهڙو هو منهنجو عذاب. ٤٢-٤٤

”ابراهيم عليه السلام ۽ موسيٰ عليه السلام کي ڪوڙو ڀائيندڙ ماڻهن“ مان مراد حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام جي زماني وارا ماڻهو آهن، نه وري اُهي ماڻهو جيڪي ان آيت جي نازل ٿيڻ وقت موجود هئا. ڇاڪاڻ ته قرآن جي نازل ٿيڻ جي زماني ۾ ته سڀئي ماڻهو انهن پيغمبرن کي مڃڻ وارا بڻجي ويا هئا.

اهوئي معاملو هر پيغمبر سان پيش آيو، سندس زماني جي ماڻهن ان کي ڪوڙو ڀائيو ۽ بعد جي ماڻهن انهن کي عظمت ۽ تقدس جو مقام ڏنو، ان جو سبب اهو آهي ته پيغمبر پنهنجي زماني ۾ خالص هڪ داعي هوندو آهي، پر بعد جي زماني ۾ ان جي نالي سان عظمتن جي تاريخ وابسته ٿي ويندي آهي. هر دور جي انسانن اهو ثبوت ڏنو آهي ته اُهي پيغمبر کي خالص داعي جي روپ ۾ سڃاڻڻ جي صلاحيت نه ٿا رکن. اهي پيغمبر کي صرف عظمتن جي روپ ۾ سڃاڻڻ ڄاڻن ٿا. رسول الله صلي الله عليه وسلم حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام وانگر هڪ داعي جي روپ ۾ هئا، پر پاڻ صلي الله عليه وسلم جي زماني جا اهي ئي

ماڻهو جيڪي حضرت ابراهيمؑ حضرت موسيٰؑ سان وابستگي تي فخر ڪندا هئا، انهن رسول الله ﷺ کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

ان مان معلوم ٿيندو آهي ته پيغمبر کي مڃڻ وارا حقيقت ۾ ڪهڙا ماڻهو هوندا آهن. پيغمبر کي مڃڻ وارا اصل ۾ اهي ماڻهو آهن جيڪي ”دعوت واري“ پيغمبر کي سڃاڻن. جيڪي ماڻهو رڳو ”عظمت واري“ پيغمبر کي سڃاڻن، اهي تاريخ جا مؤمن آهن نه وري حقيقت ۾ الله تعاليٰ جي پيغمبر جا مؤمن.

فَكَاَيِّنۡ مِّنۡ قَرۡيَةٍ اَهۡلَكۡنٰهَا وَهِىَ ظَالِمَةٌ فَهِىَ خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوۡشِهَا وَبِئۡرٍ مُّعَطَّلَةٍ وَّقَصۡرٍ مَّشِيۡدٍ ﴿٤٥﴾ اَفَلَمۡ يَسِيۡرُوۡا فِى الۡاَرۡضِ فَتَكُوۡنَ لَهُمۡ قُلُوۡبٌ يَّعۡقِلُوۡنَ بِهَاۤ اَوۡ اٰذَانٌ يَّسۡمَعُوۡنَ بِهَا‌ۚ فَاِنَّهَا لَا تَعۡمَى الۡاَبۡصَارُ وَلٰـكِنۡ تَعۡمَى الۡقُلُوۡبُ الَّتِىۡ فِى الصُّدُوۡرِ ﴿٤٦﴾

پوءِ ڪيتريون ئي وسنديون آهن جن کي اسان هلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ اهي ظالم هيون. پوءِ اڄ اهي پنهنجن ڇتين پر اونڌيون پيون آهن ۽ ڪيترائي کوھ ۽ ڪيترائي پختا محل جيڪي ويران پيل آهن. ڇا اهي ماڻهو زمين ۾ هليا ڦريا نه آهن جو سندن دليون اهڙيون ٿي وڃن ها جو اهي ان مان سمجهن ها يا سندن ڪن اهڙا ٿي وڃن ها جو اهي انهن کان ٻڌن ها، ڇاڪاڻ ته اکيون انڌيون نه ٿيون ٿين. بلڪ اهي دليون انڌيون ٿي ويندڙن آهن جيڪي سينن ۾ آهن. ٤٥-٤٦

---

الله تعاليٰ وٽ ڏسڻ وارا ماڻهو اُهي آهن جيڪي عبرت ۽ نصيحت جي نظر سان شين کي ڏسن. جن ماڻهن جو حال اهو هجي جو هو واقعن کي ڏسن، پر ان مان نصيحت نه وٺي سگهن، اهي الله تعاليٰ جي نظر ۾ انڌا آهن، سندن ڏسڻ جانور جو ڏسڻ آهي نه وري انسان جو.

الله تعاليٰ زمين تي نصيحت لاءِ بيشمار سامان ڦهلائي ڇڏيو آهي، انهن مان هڪ اهي قديم يادگار آهن، جيڪي اڳ وارين قومن دنيا ۾ ڇڏيا آهن. اهي قومون ڪڏهن عظمت ۽ اقتدار جو مقام حاصل ڪيل هيون، پر اڄ سندن نشان ڪنڊرن کان سواءِ ڪجھ به نه آهن.

اهو واقعو هر انسان کي سندس انجام ياد ڏياري رهيو آهي، پر جڏهن ماڻهو دل واري اک وڃائي ڇڏين، ته پوءِ متي واريون اکيون انهن کي ڪا به بامعنيٰ شيءِ نه ٿيون ڏيکارين.

وَيَسۡتَعۡجِلُوۡنَكَ بِالۡعَذَابِ وَلَنۡ يُّخۡلِفَ اللّٰهُ وَعۡدَهٗ‌ ؕ وَاِنَّ يَوۡمًا عِنۡدَ رَبِّكَ كَاَلۡفِ سَنَةٍ
مِّمَّا تَعُدُّوۡنَ ﴿٤٧﴾ وَكَاَيِّنۡ مِّنۡ قَرۡيَةٍ اَمۡلَيۡتُ لَهَا وَهِىَ ظَالِمَةٌ ثُمَّ اَخَذۡتُهَا‌ ۚ وَاِلَىَّ الۡمَصِيۡرُ ﴿٤٨﴾ ع ١٢

۽ اهي ماڻهو توکان عذاب جي لاءِ جلدي ڪري رهيا آهن ۽ الله هرگز پنهنجي واعدي جي خلاف ڪرڻ وارو نه آهي ۽ تنهنجي رب وٽ هڪ ڏينهن توهان جي ڳڻپ جي لحاظ کان هڪ هزار سال جي برابر هوندو آهي ۽ ڪيتريون ئي وسنديون آهن جن کي مون ڍر ڏني ۽ اهي ظالم هيون. پوءِ مون انهن کي پڪڙيو ۽ مون ڏانهن موٽي اچڻو آهي. ٤٧-٤٨

---

هن دنيا ۾ ڪو ماڻهو يا قوم جيڪڏهن سرڪشي ڪري ته الله تعاليٰ ضرور ان کي پڪڙي ٿو.

پر الله تعاليٰ ڪڏهن بہ پڪڙڻ ۾ جلدي نہ ٿو ڪري. انسان هڪڙي ڏينهن ۾ برداشت ڪان ٻاهر ٿي سگهي ٿو. پر الله تعاليٰ هڪ هزار سال تائين بہ برداشت ڪان ٻاهر نہ ٿو ٿئي. الله تعاليٰ نافرمانين کي ڏسندو آهي، پوءِ بہ ڊگهي مدت تائين ماڻهن کي موقعو ڏيندو آهي تہ جيڪڏهن اُهي اصلاح ڪرڻ وارا آهن تہ پنهنجي اصلاح ڪري وٺن. الله تعاليٰ ڪنهن فرد يا قوم کي صرف ان وقت پڪڙيندو آهي، جڏهن تہ هو مڪمل طورتي پنهنجو مجرم هجڻ ثابت ڪري چڪا هجن.

اڳين ماڻهن سان الله تعاليٰ جو اهوئي معاملو هو. آئنده جي ماڻهن سان بہ الله تعاليٰ پنهنجي ان ئي سنت جي مطابق معاملو فرمائيندو.

قُلْ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّمَاۤ اَنَا لَكُمْ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٤٩﴾ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ رِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿٥٠﴾ وَ الَّذِيْنَ سَعَوْا فِيْۤ اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيْنَ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿٥١﴾

چئو تہ اي انسانو! آئون توهان لاءِ هڪ پڌرو ڊيڄارڻ وارو آهيان. پوءِ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، انهن لاءِ مغفرت ۽ عزت جي روزي آهي ۽ جن ماڻهن اسان جي آيتن کي هيٺ ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي، اُهي ئي دوزخ وارا آهن. ٤٩-٥١

---

انسان جو اصل مسئلو اهو آهي جو هو آخرڪار هڪ اهڙي دنيا ۾ پهچڻ وارو آهي جتي مؤمنن ۽ صالح ماڻهن لاءِ ابدي راحت آهي ۽ جيڪي ماڻهو حق کي نظرانداز ڪن ۽ ان جي مقابلي ۾ سرڪشي جو رويو ڏيکارين، انهن لاءِ ابدي باهہ جو عذاب آهي.

اسلام جي دعوت جو اصل مقصد اهو آهي تہ ماڻهن کي ان اچڻ واري ڏينهن کان خبردار ڪيو وڃي. ڪم جي اها نوعيت خود ٻڌائي رهي آهي تہ داعي جو اصل ڪم خبردار ڪرڻ آهي. ان کان پوءِ جيڪو ڪجهہ آهي اهو صرف الله تعاليٰ سان تعلق رکي ٿو ۽ اهوئي ان کي انجام ڏئي سگهي ٿو.

وَ مَاۤ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ مِنْ رَّسُوْلٍ وَّ لَا نَبِيٍّ اِلَّاۤ اِذَا تَمَنّٰۤى اَلْقَى الشَّيْطٰنُ فِيْۤ اُمْنِيَّتِهٖ ۚ فَيَنْسَخُ اللّٰهُ مَا يُلْقِي الشَّيْطٰنُ ثُمَّ يُحْكِمُ اللّٰهُ اٰيٰتِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٥٢﴾ لِّيَجْعَلَ مَا يُلْقِي الشَّيْطٰنُ فِتْنَةً لِّلَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ وَّ الْقَاسِيَةِ قُلُوْبُهُمْ ؕ وَ اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ لَفِيْ شِقَاقٍۭ بَعِيْدٍ ﴿٥٣﴾ وَّ لِيَعْلَمَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَيُؤْمِنُوْا بِهٖ فَتُخْبِتَ لَهٗ قُلُوْبُهُمْ ؕ وَ اِنَّ اللّٰهَ لَهَادِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٥٤﴾

۽ اسان توکان اڳ ۾ جيڪو بہ رسول ۽ نبي موڪليو تہ جڏهن ڪا آرزو ڪئي تہ شيطان سندس آرزو ۾ (وسوسو وجهڻ لڳو. پوءِ الله شيطان جي وڌل کي مٽائي ڇڏيندو آهي، پوءِ الله تعاليٰ پنهنجن آيتن کي پختو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ الله علم وارو حڪمت وارو آهي، تہ جيئن جيڪو ڪجهہ شيطان ملايو آهي ان سان هو انهن

ماڻهن کي آزمائي جن ماڻهن جي دلين ۾ بيماري آهي ۽ جن جون دليون سخت آهن ۽ ظالم ماڻهو مخالفت ۾ گهڻو پري نڪري ويا آهن ۽ تہ جيئن اهي ماڻهو جن کي علم مليو آهي ڄاڻي وٺن. هي بيشڪ تنهنجي رب طرفان آهي. پوءِ اهي ان تي يقين آڻين ۽ سندن دليون ان جي اڳيان جهڪي وڃن ۽ الله ايمان آڻڻ وارن کي ضرور سڌو رستو ڏيکاريندو آهي. ٥٢-٥٤

حق جو داعي چاهي اهو پيغمبر هجي يا غير پيغمبر، ان سان هميشہ ايئن ٿيندو آهي تہ جڏهن هو الله تعاليٰ جي سچي ڳالهہ جو اعلان ڪندو آهي تہ ان جا مخالف ان جي ڳالهہ ۾ طرح طرح جا شوشا ڪيندا آهن، تہ جيئن ماڻهن کي ان جي صداقت جي باري ۾ مشڪوڪ ڪري ڇڏين.

اهڙي طرح جا شوشا هميشہ بي بنياد هوندا آهن. جڏهن اهي پيش ڪيا ويندا آهن تہ داعي کي موقعو ملندو آهي جو هو ان جي وضاحت ڪري پنهنجي ڳالهہ کي اڃا وڌيڪ ثابت ڪري ڇڏي، ان سان مخلص ماڻهن جي يقين ۾ اضافو ٿي ويندو آهي، ان ڪان پوءِ الله تعاليٰ سان سندن تعلق اڃا وڌيڪ مضبوط ٿي ويندو آهي. پر جيڪي ماڻهو مخلصاڻي شعور کان خالي هوندا آهن، اهي شوشا سندن لاءِ فتنو بڻجي ويندا آهن. اهي انهن جي فريب ۾ مبتلا ٿي ڪري حق کان پري هليا ويندا آهن.

الله ايمان وارن کي ضرور صراط مستقيم ڏيکاري ٿو. ان جو مطلب پين لفظن ۾ اهو آهي تہ جيڪي ماڻهو حقيقت ۾ ايمان جي معاملي ۾ سنجيده هجن، اهي ڪڏهن بہ ڪوڙي پروپئگنڊا کان متاثر نہ ٿا ٿين. اهي لفظن جي جادو کان ڪڏهن بہ دوکو نہ ٿا کائين. سندن ايمان سندن لاءِ اهڙو علم بڻجي ويندو آهي، جيڪو ڳالهين کي انهن جي گهرائي سان ڄاڻي وٺي، نہ وري رڳو ڳالهين جي ظاهر ۾ اٽڪي رهجي وڃي.

وَ لَا يَزَالُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِيْ مِرْيَةٍ مِّنْهُ حَتّٰى تَاْتِيَهُمُ السَّاعَةُ بَغْتَةً اَوْ يَاْتِيَهُمْ عَذَابُ يَوْمٍ عَقِيْمٍ ﴿٥٥﴾ اَلْمُلْكُ يَوْمَىِٕذٍ لِّلّٰهِ ؕ يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ ؕ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٥٦﴾ وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا فَاُولٰٓىِٕكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿٥٧﴾ ع ٧ ١٤

۽ انڪار ڪرڻ وارا ماڻهو هميشہ ان بابت شڪ ۾ رهندا. ايستائين جو اوچتو انهن تي قيامت اچي وڃي يا هڪ منحوس ڏينهن جو عذاب اچي وڃي. ان ڏينهن سچو اختيار صرف الله جو هوندو. هو انهن جي وچ ۾ فيصلو فرمائيندو. پوءِ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، اهي نعمتن جي باغن ۾ هوندا ۽ جن انڪار ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڀانئيو تہ انهن لاءِ ذلت جو عذاب آهي. ٥٥-٥٧

پيغمبر جي دعوت ۾ دليل جي عظمت پوري طرح موجود هوندي آهي، پر اهي ماڻهو جيڪي رڳو ظاهري عظمتن کي ڄاڻندا آهن، اهي پيغمبر جي معنوي عظمت کي ڏسي نہ ٿا سگهن ۽ ان جو انڪار ڪري ڇڏيندا آهن اهڙا ماڻهو هميشہ شڪ ۾ رهندا آهن. ڇاڪاڻ اهي حق کي ظاهري عظمتن ۾ ڏسڻ چاهين ٿا ۽ الله جي سنت اها آهي تہ هو حق کي مجرد روپ ۾ ماڻهن جي سامهون آڻي، تہ جيئن جيڪي ماڻهو حقيقت شناس آهن، اهي ان کي سڃاڻي ان سان وابستا ٿي وڃن ۽ جيڪي ظاهر پرست آهن، اهي ان کي نظرانداز ڪري پنهنجو مجرم هئڻ ثابت ڪن.

آيتن کي ”ڪوڙو پائنٽ“ اهو آهي تہ ماڻهو دليل جي سطح تي ظاهر ٿيڻ واري حق کي نظرانداز ڪري ڇڏي. اهو ان صداقت کي مڃڻ لاءِ تيار نہ ٿئي، جيڪا مجرد روپ ۾ ان جي سامهون ظاهر ٿي آهي.

وَ الَّذِيْنَ هَاجَرُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ قُتِلُوْٓا اَوْ مَاتُوْا لَيَرْزُقَنَّهُمُ اللّٰهُ رِزْقًا حَسَنًا ؕ وَ اِنَّ
اللّٰهَ لَهُوَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿۵۸﴾ لَيُدْخِلَنَّهُمْ مُّدْخَلًا يَّرْضَوْنَهٗ ؕ وَ اِنَّ اللّٰهَ لَعَلِيْمٌ حَلِيْمٌ ﴿۵۹﴾

۽ جن ماڻهن الله جي راهہ ۾ پنهنجو وطن ڇڏيو، پوءِ هو قتل ڪيا ويا يا اُهي مري ويا. الله ضرور انهن کي سٺو رزق ڏيندو ۽ بيشڪ الله ئي سڀني کان بهتر رزق ڏيڻ وارو آهي. هو انهن کي اهڙي هنڌ تي پهچائيندو، جنهن کان اهي راضي هوندا ۽ بيشڪ الله ڄاڻڻ وارو حليم آهي. ٥٨-٥٩

---

جيڪو ماڻهو ايمان جي معاملي ۾ مخلص هجي. ان جو حال اهو ٿي ويندو آهي جو هر ٻي شيءِ جي قرباني برداشت ڪري وٺندو آهي، پر ايمان جي قرباني ان کان برداشت نہ ٿيندي آهي. ان راهہ ۾ جيڪڏهن وطن ڇڏڻو پئي تہ هو وطن ڇڏي ڏيندو آهي. ان راهہ ۾ قتل ٿيڻو پوي تہ هو قتل ٿي ويندو آهي، هو ايمان سان گڏ بدل رهندو آهي، ايستائين جو هو ان ئي حال ۾ مري ويندو آهي.

جيڪي ماڻهو دنيا جي زندگي ۾ ان ڳالهہ جو ثبوت ڏيندا تہ اهي ئي ايمان کي سڀني کان قيمتي شيءِ سمجهندا آهن، الله سندن قدرداني اهڙي طرح فرمائيندو جو انهن کي آخرت جي سڀني کان قيمتي شيءِ ڏئي ڇڏيندو. اُهي اتي ابدي طور خوشين ۽ راحتن جي زندگي گذاريندا.

ذٰلِكَ ۚ وَ مَنْ عَاقَبَ بِمِثْلِ مَا عُوْقِبَ بِهٖ ثُمَّ بُغِيَ عَلَيْهِ لَيَنْصُرَنَّهُ اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَعَفُوٌّ
غَفُوْرٌ ﴿۶۰﴾

اها ڳالهہ ٿي چڪي ۽ جيڪو ماڻهو بدلو وٺي اهڙو ئي جهڙو ان سان ڪيو ويو هو ۽ پوءِ ان تي زيادتي ڪئي وڃي تہ الله ضرور ان جي مدد ڪندو. بيشڪ الله معاف ڪرڻ وارو درگذر ڪرڻ وارو آهي. ٦٠

---

ايمان وارن کي اها نصيحت ڪئي وئي هئي تہ هو ان الله تعاليٰ جي طريقي کي پنهنجو طريقو بڻائين جيڪو غفور ۽ رحيم آهي. هو ماڻهن جي زيادتين کي مسلسل درگذر ڪندو آهي ۽ انهن کي معاف فرمائيندو آهي. تنهن ڪري صحابہ ڪرام جي جماعت عام طور تي ان ئي خدا جي اخلاق تي قائم هئي، انهن تي ظلم ڪيو ويندو هو، پر اهي ان کي برداشت ڪندا هئا. انهن سان اشتعال انگيز ڳالهيون ڪيون وينديون هيون، پر اهي درگذر ڪندا هئا.

پر ڪجهہ مسلمانن سان ايئن ٿيو تہ جڏهن انهن سان زيادتي ڪئي وئي تہ فوري جذبي جي تحت انهن جوابي ڪارروائي ڪئي. انهن کي ڪجهہ نقصان پهچايو ويو تہ انهن بہ ڪجهہ نقصان پهچايو. دشمنن ان کي بهانو ناهي مسلمانن جي خلاف زبردست پروپيگنڊا ڪئي. انهن خود پنهنجن ظالماڻين ڪارروائين کي وساري ڇڏيو، البتہ مسلمانن جي معمولي واقعي کي ظلم قرار ڏئي ڪري انهن کي بدنام ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو.

ايئن ڪرڻ بدترين ڪميٽائپ آهي. جيڪي ماڻهو اهڙي قسم جي ڪميٽائپ جو ثبوت ڏين.

اهي الله تعاليٰ جي غيرت کي چئلينج ڪندا آهن. بظاهر اهي هڪ مسلمان کي ظالم ثابت ڪري رهيا آهن، پر حقيقت جي نظر ۾ اهي خود سيني کان وڏا ظالم آهن. اهي پنهنجي ظلم جي سخت سزا ڀوڳي رهندا. ان قسم جي ڪوڙي پروپيگنڊا سان اهي اهل حق کي ڪو نقصان نہ ٿا پهچائي سگهن.

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ يُوْلِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَ يُوْلِجُ النَّهَارَ فِي الَّيْلِ وَ اَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ۝٦١
ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ وَ اَنَّ مَا يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ هُوَ الْبَاطِلُ وَ اَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْعَلِيُّ
الْكَبِيْرُ ۝٦٢

اهو ان ڪري جو الله رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪندو آهي ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪندو آهي ۽ الله ٻڌڻ وارو ڏسڻ وارو آهي. اهو ان لاءِ تہ الله ئي جو حق آهي ۽ اهي سڀ باطل آهن جن کي الله کي ڇڏي ماڻهو پڪاريندا آهن ۽ بيشڪ الله ئي سڀني کان مٿانهون آهي سڀني کان وڏو. ٦١-٦٢

---

دنيا جو نظام خاموش زبان ۾ انسان کي زبردست سبق ڏئي رهيو آهي. هتي بار بار ائين ٿيندو آهي تہ رات جي اونداهي ايندي آهي ۽ اها ڏينهن کي ڍڪي ڇڏيندي آهي. هتي هر روز ڏينهن ايندو آهي ۽ رات جي اونداهي کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي، اها مثال جي زبان ۾ ان حقيقت جو ڪائناتي اعلان آهي تہ هڪ جماعت جيڪڏهن شان و شوڪت حاصل ڪيل هجي تہ ان کي هن غلط فهمي ۾ نہ رهڻ گهرجي تہ ان جو شان ۽ شوڪت ختم ٿيڻ وارو نہ آهي. اهڙي طرح ٻي جماعت جيڪڏهن مظلوم آهي تہ ان کي بہ اهو خيال نہ ڪرڻ گهرجي تہ ان جي مظلوميت هميشہ باقي رهندي.

جيڪو الله تعاليٰ آسماني دنيا ۾ روشني کي اونداهي سان بدلائي ٿو ۽ ڇڏي ٿو اونداهي کي روشني جو روپ عطا ڪندو آهي. اهوئي الله تعاليٰ انساني دنيا ۾ بہ ان ئي قسم جا واقعا پيدا ڪري سگهي ٿو. هتي ڪا بہ طاقت نہ آهي، جيڪا الله تعاليٰ کي ائين ڪرڻ کان روڪي سگهي.

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً ۡ فَتُصْبِحُ الْاَرْضُ مُخْضَرَّةً ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَطِيْفٌ
ع خَبِيْرٌ ۝٦٣ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَ اِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ۝٦٤

ڇا تو نہ ڏٺو تہ الله آسمانن مان پاڻي وسايو، پوءِ زمين ساوڪ واري ٿي وئي. بيشڪ الله لطيف آهي ۽ خبر رکندڙ آهي ان ئي جو آهي جيڪو ڪجھ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو ڪجھ زمين ۾ آهي. بيشڪ الله ئي آهي جيڪو بي نياز آهي، ساراهيل آهي. ٦٣-٦٤

---

دنيا ۾ جڏهن هڪ ماڻهو حق تي پنهنجي زندگي گذاريندو آهي تہ ان کي طرح طرح جون مشڪلاتون پيش اينديون آهن. شيطان ماڻهن کي ورغلائيندو آهي ۽ هو ان کي ستائڻ شروع ڪندا آهن. اها صورتحال وڏي سخت هوندي آهي. ان کي ڏسي حق پرست ماڻهو مايوسي ۾ مبتلا ٿيڻ لڳندا آهن.

پر ڪائنات زبان حال سان چئي ٿي تہ هتي ڪنهن الله جي ٻانهي لاءِ مايوسي جو ڪو سوال نہ آهي، الله تعاليٰ هر سال اهو منظر ڏيکاري ٿو تہ زمين جي ساوڪ سخت گرمي جي ڪري سڙي ويندي

آهي. زمين خشڪ ۽ ويران نظر اچڻ لڳندي آهي، بظاهر ان ۾ زندگي جو ڪو امڪان نہ هوندو آهي. ان ڪان پوءِ مينهن وسندو آهي ۽ خشڪ زمين ۾ ساوڪ ڦهلجي ويندي آهي.

اهو الله تعاليٰ جي قدرت جو هڪ نمونو آهي، جيڪو هر سال مادي سطح تي ڏيکاريو ويندو آهي، پوءِ الله تعاليٰ لاءِ ڪهڙو مشڪل آهي جو هو انساني سطح تي بہ پنهنجو اهوئي ڪرشمو ڏيکاري ڇڏي.

اَلَمۡ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ سَخَّرَ لَكُمۡ مَّا فِى الۡاَرۡضِ وَ الۡفُلۡكَ تَجۡرِىۡ فِى الۡبَحۡرِ بِاَمۡرِهٖ ؕ وَ يُمۡسِكُ السَّمَآءَ اَنۡ تَقَعَ عَلَى الۡاَرۡضِ اِلَّا بِاِذۡنِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِالنَّاسِ لَرَءُوۡفٌ رَّحِيۡمٌ ﴿٦٥﴾ وَ هُوَ الَّذِىۡۤ اَحۡيَاكُمۡ ۡ ثُمَّ يُمِيۡتُكُمۡ ثُمَّ يُحۡيِيۡكُمۡ ؕ اِنَّ الۡاِنۡسَانَ لَكَفُوۡرٌ ﴿٦٦﴾

ڇا تو نہ ڏٺو تہ الله زمين جي شين کي اوهان جي ڪم ۾ لڳائي رکيو آهي ۽ ٻيڙي کي بہ. اها ان جي حڪم سان سمنڊ ۾ هلندي آهي ۽ هو آسمان کي زمين تي ڪرڻ کان جهليندو آهي، پر سندس اختيار آهي بيشڪ الله ماڻهن تي نرمي ڪرڻ وارو مهربان آهي ۽ اهو ئي آهي جنهن اوهان کي زندگي ڏني. پوءِ هو اوهان کي موت ڏيندو آهي. پوءِ هو اوهان کي جيئاريندو. بيشڪ انسان وڏو ئي ناشڪرو آهي. ٦٥-٦٦

---

زمين جون سيئي شيون هڪ خاص توازن کي مسلسل پنهنجي اندر قائم رکنديون آهن. جيڪڏهن انهن جو توازن بگڙي وڃي تہ شيون فائدي مند ٿيڻ جي بجاءِ اسان جي لاءِ سخت نقصانده بڻجي وڃن، پاڻي ۾ لوهہ جو هڪ ٽڪرو وڌو وڃي تہ اهو فوراً ٻڏي ويندو. پر پاڻي کي الله تعاليٰ هڪ خاص قانون جو پابند بڻائي رکيو آهي، جنهن جي ڪري اهو ممڪن ٿيندو آهي تہ لوهہ يا ڪاٺي کي ٻيڙي جي صورت ڏني وڃي تہ اها پاڻي ۾ نہ ٿي ٻڏي. خلا ۾ بيشمار سيارهہ ۽ ستارا آهن، انهن کي بظاهر ڪري وڃڻ کپي، پر اهي خاص قانون جي تحت نهايت صحت سان پنهنجي مدار ۾ بيٺا آهن.

انسان پنهنجي پاڻ کي خود نہ بڻايو آهي، ان کي خدا پيدا ڪيو آهي. پوءِ ان کي هڪ اهڙي دنيا ۾ رکيو آهي، جيڪا ان لاءِ سراسر رحمت آهي، پر آزادي حاصل ڪري انسان اهڙو سرڪش ٿي ويو جو هو پنهنجي سيني ڪان وڏي محسن جي احسان جو اعتراف نہ ٿو ڪري.

لِكُلِّ اُمَّةٍ جَعَلۡنَا مَنۡسَكًا هُمۡ نَاسِكُوۡهُ فَلَا يُنَازِعُنَّكَ فِى الۡاَمۡرِ وَ ادۡعُ اِلٰى رَبِّكَ ؕ اِنَّكَ لَعَلٰى هُدًى مُّسۡتَقِيۡمٍ ﴿٦٧﴾ وَ اِنۡ جٰدَلُوۡكَ فَقُلِ اللّٰهُ اَعۡلَمُ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ ﴿٦٨﴾ اَللّٰهُ يَحۡكُمُ بَيۡنَكُمۡ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ فِيۡمَا كُنۡتُمۡ فِيۡهِ تَخۡتَلِفُوۡنَ ﴿٦٩﴾ اَلَمۡ تَعۡلَمۡ اَنَّ اللّٰهَ يَعۡلَمُ مَا فِى السَّمَآءِ وَ الۡاَرۡضِ ؕ اِنَّ ذٰلِكَ فِىۡ كِتٰبٍ ؕ اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيۡرٌ ﴿٧٠﴾

۽ اسان هر امت لاءِ هڪ طريقو مقرر ڪيو، جنهن جي اهي پيروي ڪندا هئا. پوءِ اهي ان معاملي ۾ توسان جهڳڙو نہ ڪن ۽ تون پنهنجي رب ڏانهن سڏ يقيناً تون سڌي رستي تي آهين. جيڪڏهن اهي توسان جهڳڙو ڪن

تہ چؤ تہ الله چڱي طرح ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجھ توهان ڪري رهيا آهيو. الله قيامت جي ڏينهن توهان جي وچ ۾ ان
شيءِ جو فيصلو ڪري ڇڏيندو جنهن ۾ توهان اختلاف ڪري رهيا آهيو. ڇا تون نہ ٿو ڄاڻين تہ آسمان ۽ زمين
جي هر شيءِ الله جي علم ۾ آهي. سڀ ڪجھ هڪ ڪتاب ۾ آهي. بيشڪ اهو الله لاءِ آسان آهي. ٦٧-٧٠

---

عبادت جا ٻہ پهلو آهن، هڪ ان جي روحاني حقيقت ۽ ٻيو ان جو ظاهري طريقو. روحاني حقيقت عبادت جو اصل جز آهي ۽ ظاهري طريقو ان جو اضافي جز. پر ڪا جماعت جڏهن ڊگهي مدت تائين ان ظاهري طريقي تي هلندي رهي ٿي تہ اها ان فرق کي وساري ٿي ڇڏي. هو عبادت جي ظاهري تڪميل ئي کي اصل عبادت سمجهي وٺي ٿي.

ان ئي جو نالو جمود آهي. تنهن ڪري الله تعاليٰ جي اها سنت رهي آهي تہ جڏهن هو نئون پيغمبر موڪليندو آهي تہ هو ان جي شريعت (ظاهري طريقي) ۾ ڪجھ فرق ڪري ڇڏيندو آهي. ان فرق جو مقصد اهو هوندو آهي تہ ماڻهن جي جمود کي ٽوڙيو وڃي. ماڻهن کي ظاهر پرستي جي حالت مان ڪڍي زندهہ عبادت ڪرڻ وارو بڻايو وڃي. هاڻي جيڪي ماڻهو ظاهري آدابن ۽ قاعدن ئي کي سڀ ڪجھ سمجهي وينا هجن اهي پيغمبر جي اطاعت کان انڪار ڪري ڇڏيندا آهن. ان جي ابتڙ جيڪي ماڻهو عبادت جي حقيقت کي ڄاڻندا آهن، اهي پيغمبر جي چوڻ تي عمل ڪرڻ لڳندا آهن. اها تبديلي سندن عبادت ۾ هڪ نئين روح پيدا ڪري ڇڏيندي آهي. اها انهن کي جمود واري ايمان جي حالت مان ڪڍي ڪري زندہ ايمان جي حالت تائين پهچائي ڇڏيندي آهي.

اهائي اُها خاص حڪمت آهي جنهن جي ڪري پيغمبر ۽ ٻي پيغمبر جي مسلڪ (عبادت جي طريقي) ۾ ڪجھ فرق رکيو ويو آهي. جڏهن بہ ڪنهن پيغمبر نئون طريقو آندو تہ جمود ۾ پيل ماڻهن ان جي خلاف سخت اعتراض ڪيا. پر پيغمبرن کي اهو حڪم هو تہ هو ان مسئلي کي بحث جو موضوع نہ ٿيڻ ڏين، هو اصلي بنيادي تعليم تي پنهنجي سڄي توجھ ڏين.

وَ يَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ سُلْطٰنًا وَّ مَا لَيْسَ لَهُمْ بِهٖ عِلْمٌ ؕ وَ مَا
لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ نَّصِيْرٍ ﴿٧١﴾ وَ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ تَعْرِفُ فِيْ وُجُوْهِ الَّذِيْنَ كَفَرُوا
الْمُنْكَرَ ؕ يَكَادُوْنَ يَسْطُوْنَ بِالَّذِيْنَ يَتْلُوْنَ عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا ؕ قُلْ اَفَاُنَبِّئُكُمْ بِشَرٍّ مِّنْ
ع ١٦ ذٰلِكُمْ ؕ اَلنَّارُ ؕ وَعَدَهَا اللّٰهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ وَ بِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿٧٢﴾

۽ اهي الله کان سواءِ انهن جي عبادت ڪندا آهن جن جي حق ۾ الله ڪو دليل نازل نہ ڪيو ۽ نہ انهن جي باري
۾ انهن کي ڪو علم آهي ۽ ظالمن جو ڪو مددگار نہ آهي ۽ جڏهن انهن کي اسان جون واضح آيتون پڙهي
ٻڌايون وڃن ٿيون تہ تون منڪرن جي چهرن تي ناراضپو ڏسندو آهين. ڇڻ تہ هو انهن ماڻهن تي حملو ڪري
ڇڏيندا جيڪي کين اسان جون آيتون پڙهي ٻڌائي رهيا آهن. چؤ تہ ڇا آئون توهان کي ٻڌايان تہ ان کان وڌيڪ
بري شيءِ ڪهڙي آهي. اها باهہ آهي. ان جو الله انهن ماڻهن سان وعدو ڪيو آهي. جن انڪار ڪيو ۽ اهو وڏو
بڇڙو ٺڪاڻو آهي. ٧١-٧٢

---

خالص توحيد جي دعوت هميشہ انهن ماڻهن لاءِ ناقابل برداشت هوندي آهي، جيڪي هڪ الله

ڪان سواءِ ٻين سان پنهنجون عقيدتون وابسته ڪيل هوندا آهن. اُهي پنهنجن معبودن ۽ پنهجي محبوب شخصيتن تي تنقيد کي بڇڏي ڪاوڙجي پوندا آهن، حق جي دعوت کان پاڻ کي بيوس محسوس ڪري اهي حق جي داعين تي ڪاهي پوندا آهن، هو چاهيندا آهن ته انهن جو خاتمو ڪري ڇڏين.

اهڙن ماڻهن کي چيو ويو ته توهان جو رويو سراسر بي عقلي جو رويو آهي، اڄ توهان لفظي تنقيد برداشت ڪرڻ جي لاءِ تيار نه آهيو، سڀاڻي توهان جو ڪهڙو حال ٿيندو، جڏهن توهان کي پنهنجي ان روش جي ڪري باهه جي عذاب کي برداشت ڪرڻو پوندو.

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ ضُرِبَ مَثَلٌ فَاسْتَمِعُوْا لَهٗ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَنْ يَّخْلُقُوْا ذُبَابًا وَّ لَوِ اجْتَمَعُوْا لَهٗ ؕ وَ اِنْ يَّسْلُبْهُمُ الذُّبَابُ شَيْـًٔا لَّا يَسْتَنْقِذُوْهُ مِنْهُ ؕ ضَعُفَ الطَّالِبُ وَ الْمَطْلُوْبُ ﴿٧٣﴾ مَا قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ قَدْرِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَقَوِيٌّ عَزِيْزٌ ﴿٧٤﴾

اي انسانو! هڪ مثال بيان ڪيو ٿو وڃي ته ان کي غور سان ٻڌو. توهان ماڻهو اللّٰه تعاليٰ کان سواءِ جنهن شيءِ کي پڪاريو ٿا، اُهي هڪ مک به پيدا نه ٿا ڪري سگهن. جيڪڏهن سڀ جا سڀ ان لاءِ جمع ٿي وڃن ۽ جيڪڏهن مک انهن کان ڪجهه کسي وڃي ته اهي ان کان ان کي ڇڏائي نه سگهندا. مدد گهرڻ وارا به ڪمزور ۽ جن کا مدد گهري وئي اهي به ڪمزور، انهن اللّٰه جو قدر نه سڃاتو. جيئن ان کي سڃاڻڻ جو حق آهي. بيشڪ اللّٰه طاقتور آهي غالب آهي. ٧٣-٧٤

---

اللّٰه کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي تقدس جو مقام ڏيڻ سراسر بي عقلي جي ڳالهه آهي. ان ڪري جو مقدس مقام ان کي ڏنو ويندو آهي جنهن جي اندر ڪا طاقت هجي ۽ هن دنيا جو حال اهو آهي ته هتي ڪنهن به انسان يا انسان کان سواءِ ڪنهن کي ڪا حقيقي طاقت حاصل نه آهي. مک هڪ انتهائي معمولي شيءِ آهي، پر زمين ۽ آسمان جون سڀئي شيون ملي ڪري به هڪ مک کي وجود ۾ نه ٿيون آڻي سگهن، پوءِ ڪنهن غير خدا کي مقدس سمجهڻ ڪيئن درست ٿي سگهي ٿو.

اهڙي قسم جا سڀئي عقيدا اصل ۾ خدا جي خدائي جي گهٽ اندازي (Underestimation) جي ڪري آهن. ماڻهو اللّٰه کي مڃيندا آهن، پر اهي ان جي عظمت ۽ قدرت کان بي خبر آهن. جيڪڏهن هو اللّٰه کي اهڙو مڃين جهڙو ان کي مڃڻ گهرجي، ته انهن کي پنهنجا اهي سڀئي عقيدا مذاق جي حد تائين بي معنيٰ معلوم ٿين. اهي پاڻ ئي اهڙن سڀني عقيدن کان هٿ ڪڍي وٺن.

اَللّٰهُ يَصْطَفِيْ مِنَ الْمَلٰٓئِكَةِ رُسُلًا وَّ مِنَ النَّاسِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ﴿٧٥﴾ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَ مَا خَلْفَهُمْ ؕ وَ اِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿٧٦﴾

اللّٰه فرشتن مان پنهنجو پيغام پهچائڻ وارو چونڊيندو آهي ۽ انسانن مان به. بيشڪ اللّٰه ٻڌڻ وارو ڏسڻ وارو آهي. هو ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهه انهن جي اڳيان آهي ۽ جيڪو ڪجهه انهن جي پٺيان آهي ۽ اللّٰه ئي ڏانهن سڀ ڪم موٽايا وڃن ٿا. ٧٥-٧٦

---

الله جنهن منصوبي جي تحت انسان کي بڻايو ۽ انکي زمين تي آباد ڪيو، ان جو اهو تقاضو هو ته هو انسانن جي هدايت جو انتظام ڪري. هو انهن کي ٻڌائي ته جنت جو رستو ڪهڙو آهي ۽ جهنم جو رستو ڪهڙو آهي. تنهن ڪري الله اِهو انتظام ڪيو جو هو انسانن مان ڪنهن کي پيغمبري لاءِ چونڊيندو آهي ۽ ان وٽ فرشتي جي ذريعي پنهنجو ڪلام موڪليندو آهي.

ان انتظام جي تحت انسان کي اصل حقيقت کان خبردار ڪيو پيو وڃي. ٻي طرف الله تعاليٰ ماڻهن جي عملن جي نگراني به فرمائي رهيو آهي، ان کان پوءِ جڏهن امتحان جي مدت ختم ٿيندي ته سڀئي ماڻهو الله ڏانهن موٽايا ويندا، ته جيئن هو پنهنجي پنهنجي ڪارگذاري جي مطابق پنهنجي انجام کي لهن.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ارْكَعُوْا وَ اسْجُدُوْا وَ اعْبُدُوْا رَبَّكُمْ وَ افْعَلُوا الْخَيْرَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ۟ؕ۷۷ السجدة عند الامام الشافعي وَ جَاهِدُوْا فِي اللّٰهِ حَقَّ جِهَادِهٖ ؕ هُوَ اجْتَبٰىكُمْ وَ مَا جَعَلَ عَلَيْكُمْ فِي الدِّيْنِ مِنْ حَرَجٍ ؕ مِلَّةَ اَبِيْكُمْ اِبْرٰهِيْمَ ؕ هُوَ سَمّٰىكُمُ الْمُسْلِمِيْنَ ۙ۬ مِنْ قَبْلُ وَ فِيْ هٰذَا لِيَكُوْنَ الرَّسُوْلُ شَهِيْدًا عَلَيْكُمْ وَ تَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى النَّاسِ ۖۚ فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ وَ اعْتَصِمُوْا بِاللّٰهِ ؕ هُوَ مَوْلٰىكُمْ ۚ فَنِعْمَ الْمَوْلٰى وَ نِعْمَ النَّصِيْرُ ۷۸ ع ۱۷

اي ايمان وارو! رڪوع ۽ سجدو ڪريو ۽ پنهنجي رب جي عبادت ڪريو ۽ ڀلائي جا ڪم ڪريو ته جيئن توهان ڪامياب ٿيو ۽ الله جي راهه ۾ ڪوشش ڪريو، جهڙي ڪوشش ڪرڻ جو حق آهي. ان ئي توهان کي چونڊيو آهي ۽ ان دين جي معاملي ۾ توهان تي ڪا تنگي نه ڪئي آهي. توهان جي پيءُ ابراهيم جو دين، ان ئي توهان جو نالو مسلم رکيو. ان کان اڳ ۾ ۽ هن قرآن ۾ به ته جيئن رسول توهان تي شاهد هجي ۽ توهان ماڻهن تي شاهد ٿيو. تنهن ڪري نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ادا ڪريو ۽ الله کي مضبوط جهليو، اهوئي توهان جو مالڪ آهي. پوءِ ڪهڙو نه سٺو مالڪ آهي ۽ ڪهڙو نه سٺو مددگار. ۷۷-۷۸

---

هن آيت جو خطاب اصل ۾ اصحاب رسول سان ۽ پيروي جي لحاظ کان قرآن جي سڀني مؤمنين سان آهي. ان جماعت کي الله تعاليٰ ان خاص ڪم لاءِ چونڊيو آهي جو اها قيامت تائين سڀني قومن کي خدا جي سچي ۽ حقيقي دين کان باخبر ڪندي رهي. رسول اهو ساڳيو شهادت وارو عمل پنهنجي زماني جي ماڻهن تي ڪيو ۽ پاڻ ﷺ جي پيروي ڪرڻ وارن کي اهو ساڳيو عمل پنهنجي زماني جي ماڻهن تي انجام ڏيڻو آهي.

اهو ڪم هڪ بيحد نازڪ ڪم آهي. ان لاءِ مجاهداڻو عمل درڪار آهي. ان کي رڳو اهي ئي ماڻهو حقيقي طورتي انجام ڏئي سگهندا آهن. جيڪي صحيح معنيٰ ۾ الله تعاليٰ جي اڳيان جُهڪڻ وارا بڻجي ويا هجن. جيڪي ٻين جا ايترا گهڻا خيرخواه هجن جو پنهنجو وقت ۽ پنهنجو مال انهن لاءِ خرچ ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪن. جيڪي هر ٻئي شيءِ کان مٿي ٿي ڪري صرف هڪ الله تي ڀروسو ڪرڻ وارا بڻجي ويا هجن، جيڪي حقيقي معنيٰ ۾ لفظ "مسلم" جا تصديق ڪندڙ هجن، جيڪو سندن لاءِ خصوصي طور تي منتخب ڪيو ويو آهي.

جيئن تہ ان شهادت واري ڪم سان الله هڪ خاص معاملو اهو ڪيو آهي تہ ان جي راهہ جي رڪاوٽن کي هميشہ لاءِ پري ڪري ڇڏيو آهي. رسول اللهﷺ جي ذريعي دنيا ۾ اهڙو انقلاب آندو ويو آهي، جنهن انهن رڪاوٽن کي هميشہ جي لاءِ ختم ڪري ڇڏيو. جيڪي اڳين نبين ۽ سندن امتن کي پيش ايندڙيون هيون. هاڻي ان ڪم لاءِ حقيقي رڪاوٽ ڪابہ نہ آهي. اها الڳ ڳالهہ آهي تہ قرآن وارا خود پنهنجي ناداني سان پنهنجي رستي ۾ هٿرادو مشڪلاتون پيدا ڪري وٺن ۽ هڪ آسان ڪم کي مصنوعي طرح مشڪل ڪم بڻائي وٺن.

(٢٣) سُوْرَةُ الْمُؤْمِنُوْنَ مَكِّيَّةٌ (٧٤) — اٰيَاتُهَا ١١٨ — رُكُوْعَاتُهَا ٦

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

قَدْ اَفْلَحَ الْمُؤْمِنُوْنَ ۙ﴿١﴾ الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ صَلَاتِهِمْ خٰشِعُوْنَ ۙ﴿٢﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ عَنِ اللَّغْوِ (الجزء الثامن عشر ١٨)
مُعْرِضُوْنَ ۙ﴿٣﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ لِلزَّكٰوةِ فٰعِلُوْنَ ۙ﴿٤﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ لِفُرُوْجِهِمْ حٰفِظُوْنَ ۙ﴿٥﴾ اِلَّا
عَلٰۤى اَزْوَاجِهِمْ اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَاِنَّهُمْ غَيْرُ مَلُوْمِيْنَ ۚ﴿٦﴾ فَمَنِ ابْتَغٰى وَرَآءَ ذٰلِكَ
فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْعٰدُوْنَ ۚ﴿٧﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ لِاَمٰنٰتِهِمْ وَ عَهْدِهِمْ رٰعُوْنَ ۙ﴿٨﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ
عَلٰى صَلَوٰتِهِمْ يُحَافِظُوْنَ ۘ﴿٩﴾ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْوٰرِثُوْنَ ۙ﴿١٠﴾ الَّذِيْنَ يَرِثُوْنَ الْفِرْدَوْسَ ؕ هُمْ (وقف لازم)
فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿١١﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

بيشڪ ايمان وارن فلاح ماڻي. جيڪي پنهنجي نماز ۾ جهڪڻ وارا آهن ۽ جيڪي اجاين ڳالهين کان پاسو ڪندا آهن ۽ جيڪي زڪوات ادا ڪرڻ وارا آهن ۽ جيڪي پنهنجن شرم گاهن جي حفاظت ڪرڻ وارا آهن، سواءِ پنهنجن زالن جي ۽ انهن عورتن جي جيڪي سندن ٻانهين مان هجن تہ انهن تي ملامت نہ آهي. البتہ جيڪي ان کان سواءِ طلبين تہ اهي ئي حد کان لنگهندڙ آهن ۽ جيڪي پنهنجن امانتن ۽ پنهنجي عهد جو خيال رکڻ وارا آهن ۽ جيڪي پنهنجن نمازن جي حفاظت ڪندا آهن. اهي ئي ماڻهو وارث ٿيڻ وارا آهن فردوس جا، اهي ان ۾ هميشہ رهندا. ١-١١

---

الله تعاليٰ جي هن دنيا ۾ ڪاميابي رڳو ان ماڻهو جي لاءِ آهي، جيڪو ايمان وارو هجي. جيڪو ڪنهن ٻئي جو نہ ٿي ڪري هڪ الله وارو بڻجي وڃي، جنهن جي زندگي اندر کان ٻاهر تائين ايمان ۾ رنگجي وئي هجي.

جڏهن ڪنهن ماڻهو کي ايمان ملندو آهي تہ اها سادي ڳالهہ نہ هوندي آهي. اهو ان جي زندگي ۾ هڪ انقلاب اچڻ جي هم معنيٰ هوندو آهي. هاڻي هو الله جي عبادت ڪرڻ وارو ۽ ان جي اڳيان جهڪڻ وارو بڻجي ويندو آهي. ان جي سنجيدگي ايتري وڌي ويندي آهي جو بي فائده ڪمن ۾ وقت ضايع ڪرڻ

ان کي هلاڪت لڳڻ لڳندو آهي. هو پنهنجي ڪمائي جو هڪ حصو الله تعاليٰ جي نالي تي ڏيندو آهي ۽ ان سان ضرورت مندن جي مدد ڪندو آهي. هو پنهنجي شهوت وارين خواهشن کي ڪنٽرول ۾ رکڻ وارو بڻجي ويندو آهي ۽ انهن کي انهن حدن جي اندر استعمال ڪندو آهي، جيڪي الله تعاليٰ ان لاءِ مقرر ڪري ڇڏيون آهن. هو دنيا ۾ هڪ ذميوار ماڻهو جي طرح زندگي گذاريندو آهي. ٻين جي امانت ۾ هو ڪڏهن خيانت نہ ٿو ڪري. ڪنهن سان جڏهن هو ڪو واعدو ڪري وٺندو آهي تہ هو ڪڏهن بہ ان جي خلاف ورزي نہ ٿو ڪري.

جن ماڻهن جي اندر اهي خاصيتون هجن، اهي الله جا گهربل ٻانها آهن. اهي ئي اهي ماڻهو آهن جن لاءِ الله جنت الفردوس جي معياري دنيا تياري ڪري رکي آهي. موت کان پوءِ هو ان فضائن ۾ داخل ڪيا ويندا، تہ جيئن ابدي طورتي ان جي اندر عيش ڪندا رهن.

وَلَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنْ سُلٰلَةٍ مِّنْ طِيْنٍ ﴿١٢﴾ ثُمَّ جَعَلْنٰهُ نُطْفَةً فِيْ قَرَارٍ مَّكِيْنٍ ﴿١٣﴾ ثُمَّ
خَلَقْنَا النُّطْفَةَ عَلَقَةً فَخَلَقْنَا الْعَلَقَةَ مُضْغَةً فَخَلَقْنَا الْمُضْغَةَ عِظٰمًا فَكَسَوْنَا الْعِظٰمَ
لَحْمًا ثُمَّ اَنْشَاْنٰهُ خَلْقًا اٰخَرَ فَتَبٰرَكَ اللّٰهُ اَحْسَنُ الْخٰلِقِيْنَ ﴿١٤﴾ ثُمَّ اِنَّكُمْ بَعْدَ ذٰلِكَ
لَمَيِّتُوْنَ ﴿١٥﴾ ثُمَّ اِنَّكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ تُبْعَثُوْنَ ﴿١٦﴾

۽ اسان انسان کي مٽي جي ست مان پيدا ڪيو. پوءِ نطفي جي شڪل ۾ ان کي هڪ محفوظ جاءِ ۾ رکيو. پوءِ اسان نطفي کي رت جي ڍڳ جي شڪل ڏني. پوءِ رت جي ڍڳ کي ٻوٽي بڻايو. پوءِ ٻوٽي جي اندر هڏيون پيدا ڪيون. پوءِ اسان هڏين تي گوشت چاڙهيو. پوءِ اسان ان کي هڪ نئي صورت ۾ بڻائي کڙو ڪيو. پوءِ الله وڏو ئي بابرڪت وارو آهي بهترين پيدا ڪرڻ وارو. پوءِ ان کان بعد توهان کي ضرور مرڻو آهي. پوءِ توهان قيامت جي ڏينهن اٿاريا ويندا. ١٢-١٦

---

انسان جو ٻار ماءُ جي پيٽ جي اندر پرورش پائيندو آهي. قديم زماني ۾ حمل کان وٺي ٻار جي پيدائش تائين پوري مدت انسان لاءِ هڪ لڪيل شيءِ جي حيثيت رکندي هئي. ويهين صدي ۾ جديد سائنسي ذريعن کان پوءِ اهو ممڪن ٿيو آهي تہ پيٽ ۾ پرورش پائڻ واري ٻار جو مشاهدو ڪيو وڃي ۽ ان بابت براہ راست معلومات حاصل ڪئي وڃي.

قرآن چوڏهن سؤ سال پهرين انساني تخليق جا جيڪي مختلف مرحلا ٻڌايا هئا. اهي حيرت جي حدتائين جديد دور جي مشيني مشاهدي جي عين مطابق ثابت ٿيا آهن، اهو هڪ واضح ثبوت آهي تہ قرآن الله تعاليٰ جو ڪتاب آهي. جيڪڏهن ايئن نہ هجي ها تہ جديد تحقيق ۽ قرآن جي بيان ۾ ايتري ڪامل هڪ جهڙائي ممڪن نہ ٿئي ها.

تخليق جو اِهو واقعو جيڪو روزانہ ماءُ جي پيٽ ۾ ٿي رهيو آهي. اهو ٻڌائي ٿو تہ هن دنيا جو خالق هڪ انتهائي باڪمال هستي آهي. انسان جي اول تخليق جو حيرتناڪ واقعو جيڪو هر روز اسان جي اکين جي سامهون ٿي رهيو آهي، اهوئي اهو يقين ڏيارڻ لاءِ ڪافي آهي تہ ان ئي طرح وري ٻي تخليق جو واقعو بہ ضرور ٿيندو ۽ بلڪل ان ئي مطابق ٿيندو، جنهن جون خبرون نبين ذريعي ڏنيون ويون آهن.

وَ لَقَدْ خَلَقْنَا فَوْقَكُمْ سَبْعَ طَرَآئِقَ ۖ وَ مَا كُنَّا عَنِ الْخَلْقِ غٰفِلِيْنَ ﴿۱۷﴾ وَ اَنْزَلْنَا مِنَ
السَّمَآءِ مَآءًۢ بِقَدَرٍ فَاَسْكَنّٰهُ فِي الْاَرْضِ ۖ وَ اِنَّا عَلٰى ذَهَابٍۢ بِهٖ لَقٰدِرُوْنَ ﴿۱۸﴾ۚ فَاَنْشَاْنَا لَكُمْ
وقف لازم بِهٖ جَنّٰتٍ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّ اَعْنَابٍ ۘ لَكُمْ فِيْهَا فَوَاكِهُ كَثِيْرَةٌ وَّ مِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ﴿۱۹﴾ۙ وَ شَجَرَةً
تَخْرُجُ مِنْ طُوْرِ سَيْنَآءَ تَنْۢبُتُ بِالدُّهْنِ وَ صِبْغٍ لِّلْاٰكِلِيْنَ ﴿۲۰﴾ وَ اِنَّ لَكُمْ فِي الْاَنْعَامِ
لَعِبْرَةً ۖ نُسْقِيْكُمْ مِّمَّا فِيْ بُطُوْنِهَا وَ لَكُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ كَثِيْرَةٌ وَّ مِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ﴿۲۱﴾ۙ وَ عَلَيْهَا
ع ۲۲ وَ عَلَى الْفُلْكِ تُحْمَلُوْنَ ﴿۲۲﴾ۧ

۽ اسان توهان جي مٿان ست رستا بڻايا ۽ اسان مخلوق کان بيخبر نه هئاسون ۽ اسان آسمان کان پاڻي وسايو هڪ اندازي سان. پوءِ اسان ان کي زمين ۾ رهايو سون ۽ اسان ان کي واپس وٺڻ تي قادر آهيون. پوءِ اسان ان سان توهان لاءِ کجين ۽ انگور جا باغ پيدا ڪيا. توهان لاءِ انهن ۾ گهڻا ميوا آهن ۽ توهان انهن مان کائيندا آهيو ۽ اسان اهو وڻ پيدا ڪيو جيڪو طورسينا مان نڪرندو آهي ان ۾ تيل به هوندو آهي ۽ کائڻ وارن لاءِ ڀوڳ به. ۽ توهان لاءِ ڍورن ۾ به سبق آهي. اسان توهان کي انهن جي پيٽ مان (کير) پياريندا آهيون ۽ توهان لاءِ انهن ۾ گهڻا فائدا آهن ۽ توهان انهن کي کائيندا آهيو ۽ توهان انهن تي ۽ ٻيڙين تي سواري ڪندا آهيو. ۱۷-۲۲

---

انسان هڪ حقير وجود آهي. ان جي مقابلي ۾ ڪائنات حيرت انگيز حدتائين عظيم آهي، پر ڪائنات جو سڀني کان گهڻو حيرت انگيز پهلو اهو آهي ته اها انسان لاءِ مڪمل طور تي موافق آهي.

هتي وسيع خلا ۾ اڻ ڪٿ ستارا ۽ سيارا تيز رفتاري سان گردش ڪري رهيا آهن. پر بيشمار ناموافق امڪانن جي باوجود اهي انسان لاءِ ڪا به ناموافق صورتحال پيدا نه ٿا ڪن. مينهن جيڪڏهن گهڻو وسڻ لڳي ته انساني آباديون تباهه ٿي وڃن، پر ان جي به هڪ حد آهي. اِهو ان حد کان ٻاهر نه ٿو وڃي. زمين تي پاڻي جا جيڪي ذخيره آهن. اهي سڀ جا سڀ زمين ۾ جذب ٿي سگهن ٿا يا ٻاڦ بڻجي فضا ۾ اڏامي سگهن ٿا، پر ڪڏهن به ايئن نه ٿيندو آهي.

وڏيڪ اهو ته زمين جي صورت ۾ هڪ سڀني کان جدا سيارو موجود آهي، جيڪو ايئن لڳي ٿو ته خاص طور تي انسان جي ضرورتن کي سامهون رکي بڻايو ويو آهي، هتي انسان جي غذائي ضرورتن کان وٺي ان جي صنعتي ضرورتن تائين سڀئي شيون وافر مقدار ۾ موجود آهن. زمين جا جانور بظاهر وحشي مخلوق آهن، پر انهن کي الله تعاليٰ طرح طرح سان انسان لاءِ ڪارآمد بڻائي ڇڏيو آهي، انهن جانورن جو پيٽ هڪ حيرت انگيز ڪارخانو آهي، جيڪو گاهه ۽ چارو کائيندو آهي ۽ ان کي کير ۽ گوشت جهڙين قيمتي شين ۾ تبديل ڪندو آهي، جانورن مان گهڻائي جانور آهن جيڪي جانور هئڻ جي باوجود پنهنجي پاڻ کي پوري طرح سان انسان جي قبضي ۾ ڏئي ڇڏيندا آهن، ته جيئن هو انهن تي سواري ڪري ۽ انهن مان ٻيا مختلف فائدا حاصل ڪري.

اهي واقعا ان ڳالهه جو تقاضو ڪندا آهن ته انسان پنهنجي مهربان خدا کي سڃاڻي ۽ ان جو شڪرگذار ٻانهو بڻجي رهي.

وَ لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ فَقَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿٢٣﴾ فَقَالَ الْمَلَؤُا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ مَا هٰذَآ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ ۙ يُرِيْدُ اَنْ يَّتَفَضَّلَ عَلَيْكُمْ ؕ وَ لَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَاَنْزَلَ مَلٰٓئِكَةً ۚۖ مَّا سَمِعْنَا بِهٰذَا فِيْٓ اٰبَآئِنَا الْاَوَّلِيْنَ ﴿٢٤﴾ اِنْ هُوَ اِلَّا رَجُلٌۢ بِهٖ جِنَّةٌ فَتَرَبَّصُوْا بِهٖ حَتّٰى حِيْنٍ ﴿٢٥﴾

۽ اسان نوح کي ان جي قوم ڏانهن موڪليو تہ ان چيو اي منهنجي قوم! توهان الله جي عبادت ڪريو، ان کان سواءِ توهان جو ڪو معبود نہ آهي. ڇا توهان ڊڄو نہ ٿا. تہ ان جي قوم جي سردارن جن انڪار ڪيو هو. انهن چيو هي تہ بس توهان جهڙو هڪ ماڻهو آهي. هو چاهي ٿو تہ توهان جي مٿان برتري حاصل ڪري ۽ جيڪڏهن الله چاهي ها تہ هو فرشتا موڪلي ها. اسان اها ڳالهہ پنهنجن ابن ڏاڏن ۾ نہ ٻڌي. هي تہ بس هڪ ماڻهو آهي جنهن کي جنون ٿي ويو آهي، پوءِ تنهن ڪري هڪ وقت تائين ان جو انتظار ڪريو. ٢٣-٢٥

---

حضرت نوح عليه السلام جنهن قوم ۾ آيا، اُها پين لفظن ۾ ڪا ”ڪافر“ قوم نہ هئي. بلڪ اها حضرت آدم عليه السلام جي امت هئي. اُها خدا تي ۽ رسالت تي عقيدو رکندي هئي. ان جي باوجود ڇو ان حضرت نوح کي خدا جو پيغمبر مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ان جي وجهہ صرف هڪ هئي. نوح انهن کي پاڻ جهڙو هڪ ماڻهو پئي لڳو.

پيغمبر هڪ انسان هوندو آهي، هو ماءُ پيءُ جي ذريعي پيدا ٿيندو آهي. ان ڪري پنهنجي زماني جي ماڻهن کي هو هميشہ پاڻ جهڙو ئي هڪ ماڻهو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، اهو صرف بعد جي تاريخ ۾ ٿيندو آهي تہ پيغمبر جو نالو ماڻهن کي هڪ عظمت وارو نالو محسوس ٿيڻ لڳندو آهي، اهوئي سبب آهي جو پيغمبر جي زماني وارا پيغمبر کي سڃاڻي نہ ٿا سگهن، انهن کي پيغمبر هڪ اهڙو ماڻهو لڳندو آهي، جيڪو وڏو ٿيڻ جي لاءِ فرضي طور تي پيغمبري جي دعويٰ ڪرڻ لڳي. اهي پيغمبر کي هڪ مجنون سمجهي ان کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن.

هر امت جو اهو حال ٿيو آهي تہ بعد جي زماني ۾ اِها خدائي تعليم جي بجاءِ پنهنجن بزرگن جي روايتن تي قائم ٿي وئي. پيغمبر اچي جڏهن اصل ديني تعليم کي پيهر پيش ڪيو تہ پيغمبر جو دين انهن کي بزرگن جي روايتن کان هٽيل معلوم ٿيو. انهن جي پنهنجي ذهني سانچي ۾ انهن کي بزرگ مٿانهان نظر آيا ۽ وقت جو پيغمبر انهن جي مقابلي ۾ انهن کي گهٽ ڏسڻ ۾ آيو. اهو ئي سيني کان وڏو سبب آهي، جنهن جي ڪري هر دور ۾ ايئن ٿيو جو پيغمبرن جي دعوت انهن جي زماني جي ماڻهن لاءِ اجنبي بڻجي وئي.

قَالَ رَبِّ انْصُرْنِيْ بِمَا كَذَّبُوْنِ ﴿٢٦﴾ فَاَوْحَيْنَآ اِلَيْهِ اَنِ اصْنَعِ الْفُلْكَ بِاَعْيُنِنَا وَ وَحْيِنَا فَاِذَا جَآءَ اَمْرُنَا وَ فَارَ التَّنُّوْرُ ۙ فَاسْلُكْ فِيْهَا مِنْ كُلٍّ زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ وَ اَهْلَكَ اِلَّا مَنْ سَبَقَ عَلَيْهِ الْقَوْلُ مِنْهُمْ ۚ وَ لَا تُخَاطِبْنِيْ فِي الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ۚ اِنَّهُمْ مُّغْرَقُوْنَ ﴿٢٧﴾

نوح چيو تہ اي منھنجا رب! تون منھنجي مدد فرما جو انھن مون کي ڪوڙو ڀانئيو. تہ اسان ان کي وحي ڪيو تہ تون ٻيڙي تيار ڪر. اسان جي نگراني ۾ اسان جي ھدايت جي مطابق. پوءِ جڏھن اسان جو حڪم اچي وڃي ۽ تنور اُبامي تہ ھر قسم جي جانورن مان ھڪ ھڪ جوڙو وٺي ان ۾ سوار ٿي وڃ ۽ پنھنجي گھروارن کي بہ سواءِ انھن جي جن جي باري ۾ پھرين فيصلو ٿي چڪو آھي ۽ جن ظلم ڪيو آھي. انھن جي معاملي ۾ مون سان ڳالھ نہ ڪجانءِ. بيشڪ انھن کي ٻڏڻو آھي. ۲۶-۲۷

---

حضرت نوح عليہ السلام گھڻي عرصي تائين پنھنجي قوم کي نصيحت ڪندا رھيا. پر سندن قوم انھن جي ڳالھ مڃڻ لاءِ تيار نہ ٿي. آخرڪار حضرت نوح عليہ السلام دعا ڪئي تہ خدايا! منھنجي دعوت ۽ تبليغ انھن کان حق کي مڃرائي نہ سگھي. ھاڻي تون ئي انھن تي حق کي ظاھر ڪري ڇڏ. پر جڏھن انساني عمل جي حد ختم ٿي ڪري خدائي عمل جي حد شروع ٿئي تہ اھو بدلي جو وقت ھوندو آھي نہ وري واعظ ۽ نصيحت جو. تنھن ڪري خدا جو حڪم طوفان جي صورت ۾ ظاھر ٿيو ۽ ڪجھ نوح جي مؤمنين کي ڇڏي باقي سڄي قوم غرق ٿي وئي.

حق جو اعتراف نہ ڪرڻ سڀني کان وڏو ظلم آھي. جيڪي ماڻھو اھو ظلم ڪن. تہ اھي ھميشہ خدا جي پڪڙ ۾ اچي ويندا آھن. ڪا بہ ٻي شيءِ انھن کي ان پڪڙ کان بچائي نہ ٿي سگھي.

فَاِذَا اسْتَوَيْتَ اَنْتَ وَ مَنْ مَّعَكَ عَلَى الْفُلْكِ فَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ نَجّٰنَا مِنَ الْقَوْمِ
الظّٰلِمِيْنَ ۝۲۸ وَ قُلْ رَّبِّ اَنْزِلْنِيْ مُنْزَلًا مُّبٰرَكًا وَّ اَنْتَ خَيْرُ الْمُنْزِلِيْنَ ۝۲۹ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ
وَّ اِنْ كُنَّا لَمُبْتَلِيْنَ ۝۳۰

پوءِ جڏھن تون ۽ تنھنجا ساٿي ٻيڙي ۾ ويھي رھو. پوءِ چئو تہ شڪر آھي الله جو جنھن اسان کي ظالم ماڻھن کان نجات ڏني ۽ چئو تہ اي منھنجا رب! تون مون کي برڪت واري ھنڌ لاھ ۽ تون بھتر لاھيندڙ آھين. بيشڪ ان ۾ نشانيون آھن ۽ بيشڪ اسان ڀانھن کي آزمائيندا آھيون. ۲۸-۳۰

---

شرڪ واري ماحول ۾ ڪجھ ماڻھن حضرت نوح عليہ السلام تي ايمان آندو. اھي ان ئي ڏينھن معنيٰ جي لحاظ کان خدا جي ٻيڙي ۾ داخل ٿي چڪا ھئا. ان کان پوءِ جڏھن طوفان جي وقت اھي ڪاٺي جي نھيل ٻيڙي ۾ وينا تہ اھو ڄڻ انھن جي ابتدائي فيصلي جي تڪميل ھئي. انھن پنھنجي پاڻ کي فڪري طور تي بدي جي طوفان کان بچايو ھو. الله تعاليٰ انھن کي عملي طور تي بدي جي سخت انجام کان بچائي ورتو.

مؤمن ھر ڪاميابي کي الله تعاليٰ جي طرفان سمجھندو آھي. ان ڪري ھو ھر ڪاميابي تي الله جو شڪر ادا ڪندو آھي. نوح عليہ السلام واري طوفان کان نجات تہ پڌرو خدائي مدد جو واقعو ھو. اھڙن موقعن تي مؤمن جي زبان مان جيڪي ڪلمات نڪرندا آھن. اھي اُھي ئي آھن جن جي ھڪ تصوير مٿي ذڪر ڪيل آيت ۾ نظر اچي ٿي. مؤمن حال جي لاءِ خدا جي قدرت جو اعتراف ڪندي مستقبل جي لاءِ وڌيڪ عنايت جي التجا ڪرڻ لڳندو آھي. ڇاڪاڻ تہ ان کي يقين ھوندو آھي تہ حال بہ خدا جي قبضي ۾ آھي ۽ مستقبل بہ.

ثُمَّ اَنْشَاْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ قَرْنًا اٰخَرِيْنَ ۝٣١ فَاَرْسَلْنَا فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ
مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ۝٣٢ وَ قَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِهِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ كَذَّبُوْا
بِلِقَآءِ الْاٰخِرَةِ وَ اَتْرَفْنٰهُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۙ مَا هٰذَاۤ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ ۙ يَاْكُلُ مِمَّا
تَاْكُلُوْنَ مِنْهُ وَ يَشْرَبُ مِمَّا تَشْرَبُوْنَ ۝٣٣ وَ لَئِنْ اَطَعْتُمْ بَشَرًا مِّثْلَكُمْ اِنَّكُمْ اِذًا
لَّخٰسِرُوْنَ ۝٣٤

پوءِ اسان انهن کان بعد ٻي جماعت پيدا ڪئي. پوءِ انهن ۾ هڪ رسول انهن منجهان موڪليو ته توهان الله جي عبادت ڪريو، ان کان سواءِ توهان جو ڪو معبود نه آهي. ڇا توهان ڊڄو نه ٿا ۽ ان جي قوم جي سردارن جن انڪار ڪيو ۽ آخرت جي ملاقات کي ڪوڙو ڀانئيو ۽ انهن کي اسان دنيا جي زندگي ۾ خوشحالي ڏني هئي. چيائون هي توهان ئي جهڙو هڪ ماڻهو آهي، اهوئي ڪائي ٿو جيڪو توهان ڪائيندا آهيو ۽ اهوئي پئي ٿو جيڪو توهان پيئندا آهيو ۽ جيڪڏهن توهان پاڻ جهڙي هڪ ماڻهو جي ڳالهه مڃي ته توهان وڏي خساري ۾ رهندو. ٣٣-٣٤

حضرت نوح عليه السلام جي مؤمنين جي نسل وڌي ۽ ان تي صديون گذري ويون ته پيهر اُهي ان ئي گمراهي ۾ مبتلا ٿي ويا جن ۾ انهن کان اڳ جا ماڻهو مبتلا هئا. ان مان مراد گهڻو ڪري اهائي قوم آهي جنهن کي عاد جي قوم چيو ويندو آهي، اهي ماڻهو الله تعاليٰ کان غافل ٿي ڪري الله کان سواءِ ٻين خدائن ۾ مشغول ٿي ويا. پوءِ پيهر سندن وچ ۾ الله جو رسول آيو ۽ ان انهن کي حق کان آگاهه ڪيو.

پر پيهر ايئن ئي ٿيو جو قوم جا سردار پيغمبر جا مخالف بڻجي بيهي رهيا. اهي سردار اهي ماڻهو هئا، جيڪي وقت جي خيالن سان موافقت ڪري ماڻهن جا اڳواڻ بڻيل هئا، ان ئي سان گڏ خوشحالي به انهن جي چؤطرف جمع ٿي وئي هئي، اها هڪ عام ڪمزوري آهي ته جن ماڻهن کي دولت ۽ اقتدار حاصل ٿي وڃي، اهي ان کي پنهنجي حق تي هئڻ جو دليل سمجهي وٺندا آهن، اهوئي انهن سردارن سان ٿيو. سندن خوشحالي ۽ اقتدار انهن لاءِ اُهو سمجهڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي ويو ته هو به غلطي تي ٿي سگهن ٿا.

انهن ڏٺو ته پيغمبر وٽ نه دولت جا ڍڳ آهن ۽ نه ان کي اقتدار حاصل آهي. ان ڪري انهن پيغمبر کي گهٽ سمجهيو. هو پنهنجي ظاهر پرستي جي ڪري پيغمبر جي عظمت کي ڏسڻ ۾ ناڪام رهيا.

اَيَعِدُكُمْ اَنَّكُمْ اِذَا مِتُّمْ وَ كُنْتُمْ تُرَابًا وَّ عِظَامًا اَنَّكُمْ مُّخْرَجُوْنَ ۝٣٥ هَيْهَاتَ هَيْهَاتَ
لِمَا تُوْعَدُوْنَ ۝٣٦ اِنْ هِيَ اِلَّا حَيَاتُنَا الدُّنْيَا نَمُوْتُ وَ نَحْيَا وَ مَا نَحْنُ بِمَبْعُوْثِيْنَ ۝٣٧ اِنْ هُوَ
اِلَّا رَجُلُ ۣافْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا وَّ مَا نَحْنُ لَهٗ بِمُؤْمِنِيْنَ ۝٣٨

ڇا اهو شخص توهان کي چئي ٿو ته جڏهن توهان مري ويندو ۽ مٽي ۽ هڏا ٿي ويندو ته وري توهان ڪڍيا ويندو. جنهن جو انجام اوهان کي ڏنو پيو وڃي سو پري بلڪل پري آهي، زندگي ته اهائي اسان جي دنيا جي زندگي آهي. هتي ئي اسان مرون ٿا ۽ جيئون ٿا ۽ اسان پيهر جيئرا ٿيڻ وارا نه آهيون. هي ته رڳو بس هڪ اهڙو ماڻهو آهي، جنهن الله تي ڪوڙ ٻڌو آهي ۽ اسان ان کي مڃڻ وارا نه آهيون. ٣٥-٣٨

هن آيت ۾ آخرت جي باري ۾ جيڪي ڪلما نقل ڪيا ويا آهن، اهي ڪڏهن زبان حال سان ادا ٿيندا آهن ۽ ڪڏهن عمل سان. ڪڏهن ائين ٿيندو آهي ته ماڻهو سڄو دنيا جي شين ۾ مشغول هوندو آهي. هو آخرت ڪان اهڙي طرح غافل نظر ايندو آهي ڄڻ ته آخرت ان لاءِ بلڪل پري جي هڪ ڳالهه آهي ۽ ڪڏهن ائين ٿيندو آهي جو سندس آخرت ڪان غفلت ان کي سرڪشي جي ان حد تائين پهچائي ڇڏيندي آهي، جو هو پنهنجي زبان سان به چئي ڇڏيندو آهي ته آخرت ته پري جي هڪ شيءِ آهي. ان ڪري اڄ جيڪو ڪجهه ملي رهيو آهي، ان کي حاصل ڪريو. سڀاڻي جي فرضي فائدي لاءِ اڄ جي يقيني فائدي کي نه وڃايو.

”ان ماڻهو الله تي ڪوڙ ٻڌو آهي، هن ڪلمي جون به ٻه صورتون آهن. هڪ اهو ته ماڻهو بلڪل اهڙو ئي ان جملي کي پنهنجي زبان سان ادا ڪري، ٻيو اهو ته هو حق جي داعي کي اهڙي طرح نظرانداز ڪري، ڄڻ ته ان جي ڳالهه رڳو هڪ مجنون ماڻهو جي ڳالهه آهي، ان جو الله تعاليٰ سان ڪو تعلق نه آهي.

قَالَ رَبِّ انْصُرْنِيْ بِمَا كَذَّبُوْنِ ﴿٣٩﴾ قَالَ عَمَّا قَلِيْلٍ لَّيُصْبِحُنَّ نٰدِمِيْنَ ﴿٤٠﴾ فَاَخَذَتْهُمُ الصَّيْحَةُ بِالْحَقِّ فَجَعَلْنٰهُمْ غُثَآءً ۚ فَبُعْدًا لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤١﴾

رسول چيو اي منهنجا رب! منهنجي مدد ڪر. انهن مون کي ڪوڙ ڀانئيو. فرمايائين ته اهي ماڻهو جلد ئي پشيمان ٿيندا. پوءِ انهن کي هڪ سخت آواز حق جي مطابق پڪڙي ورتو. پوءِ اسان کين ذرا ڪري ڇڏيو. پوءِ ظالم قوم تي لعنت هجي. ٣٩-٤١

---

الله جو پيغمبر جنهن شيءِ جي اعلان لاءِ ايندو آهي. اها هن ڪائنات جي سيني ڪان وڌيڪ سنگين حقيقت آهي، پر پيغمبر ان حقيقت کي رڳو دليل جي روپ ۾ ظاهر ڪندو آهي. اهي ئي ماڻهو اصل ۾ مؤمن آهن جيڪي ان کي دليل جي روپ ۾ سڃاڻين ۽ پنهنجي پاڻ کي ان جي حوالي ڪري ڇڏين.

جڏهن ڪا جماعت آخري حدتائين اهو ثابت ڪري ڇڏي ته اها حقيقت کي دليل جي روپ ۾ سڃاڻڻ جي صلاحيت نه ٿي رکي ته پوءِ خدا حقيقت کي ”صيحه“ جي روپ ۾ ظاهر ڪندو آهي. حقيقت هڪ اهڙو ٻڙاڏو ٻڻجي ويندي آهي، جنهن جو مقابلو ڪرڻ جي طاقت ڪنهن کي نه هجي، پر جڏهن حقيقت ”صيحه“ جي روپ ۾ ظاهر ٿي وڃي ته اهو ان کي پوڄڻ جو وقت هوندو آهي، نه وري ان کي مڃڻ جو. حقيقت جڏهن صيحه جي روپ ۾ ظاهر ٿيندي آهي ته ماڻهو جي حصي ۾ رڳو اهو رهجي ويندو آهي ته هو هميشه لاءِ پنهنجي ان ناداني تي پڇتائيندو رهي، جو ان حقيقت کي ڏٺو پر هو ان ڪان انڌو بڻيو رهيو، حقيقت جو آواز ان جي ڪنن سان ٽڪرايو، پر هن ان کي ٻڌڻ لاءِ پنهنجا ڪن بند ڪري ڇڏيا.

ثُمَّ اَنْشَاْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ قُرُوْنًا اٰخَرِيْنَ ﴿٤٢﴾ مَا تَسْبِقُ مِنْ اُمَّةٍ اَجَلَهَا وَ مَا يَسْتَاْخِرُوْنَ ﴿٤٣﴾ ثُمَّ اَرْسَلْنَا رُسُلَنَا تَتْرَا ۗ كُلَّمَا جَآءَ اُمَّةً رَّسُوْلُهَا كَذَّبُوْهُ فَاَتْبَعْنَا بَعْضَهُمْ بَعْضًا وَّ جَعَلْنٰهُمْ اَحَادِيْثَ ۚ فَبُعْدًا لِّقَوْمٍ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٤٤﴾

پوءِ اسان انهن کان بعد ٻيون قومون پيدا ڪيون. ڪا قوم نه پنهنجي واعدي کان اڳيان ويندي ۽ نه ان کان پٺيان رهندي. پوءِ اسان مسلسل پنهنجا رسول موڪليا. جڏهن به ڪنهن قوم وٽ ان جو رسول آيو ته انهن ان کي ڪوڙو ڀانئيو. پوءِ انهن کي هڪ ٻئي پٺيان (ناس) ڪيو سون ۽ اسان کين آکاڻيون بڻايو سون. پوءِ لعنت هجي انهن ماڻهن تي جن ايمان نه آندو. ٤٢-٤٤

---

پيغمبرن کان پوءِ هميشه سندن امتن ۾ بگاڙ ايندو رهيو. سندن اصلاح جي لاءِ وري وري پيغمبر موڪليا ويا. آدمؑ جي امت ۾ حضرت نوحؑ آيا. ان کان پوءِ حضرت نوحؑ جي امت (عاد) ۾ حضرت هودؑ آيا. پوءِ هود جي امت (ثمود) ۾ حضرت صالحؑ آيا، وغيره. پر هر ڀيري ايئن ٿيو جو اهي ئي ماڻهو جن ماضي جي پيغمبر کي ڪنهن بحث کان سواءِ مڃو ٿي، اهي حال جي پيغمبر کي ڪنهن به صورت ۾ مڃڻ لاءِ تيار نه ٿيا.

ان جي وجهه اها آهي ته ماضي جو پيغمبر پراڻين روايتن جي نتيجي ۾ قومي فخر جو نشان بڻجي ويندو آهي، هو قومن لاءِ سندن قومي سڃاڻپ جي علامت هوندو آهي، هو انهن لاءِ قومي هيرو جو درجو اختيار ڪري وٺندو آهي. ان کي مڃي ماڻهو جي فخر واري احساس کي تسڪين ملندي آهي. ظاهر آهي ته اهڙي پيغمبر کي ڪير نه مڃيندو.

پر حال جي پيغمبر جو معاملو ان کان بلڪل ابتڙ هوندو آهي. حال جي پيغمبر سان ان جي تاريخ وابسته نه هوندي آهي. ان سان گڏ عظمت ۽ تقدس جون روايتون شامل نه هونديون آهن. ان کي مڃڻ رڳو هڪ معنوي حقيقت جي اعتراف جي هم معنيٰ هوندو آهي نه وري ڪنهن وڏي عظمت سان خود کي وابسته ڪرڻ، اهوئي سبب آهي ته ماضي جي پيغمبر کي مڃڻ وارا هميشه حال جي پيغمبر جو انڪار ڪري ڇڏيندا آهن.

”پري ٿين جيڪي ايمان نه ٿا آڻين.“ ان کي ٻين لفظن ۾ چئجي ته ان جو مطلب اِهو ٿيندو ته پري ٿين اهي ماڻهو جيڪي الله تعاليٰ جي سفير کي الله جي سفير جي حيثيت سان نه ٿا سڃاڻي سگهن، اهي خدا جي سفير کي صرف ان وقت سڃاڻيندا آهن، جڏهن تاريخي عمل جي نتيجي ۾ هو انهن جو قومي هيرو بڻجي چڪو هجي.

ثُمَّ اَرۡسَلۡنَا مُوۡسٰی وَ اَخَاهُ هٰرُوۡنَ ۬ۙ بِاٰیٰتِنَا وَ سُلۡطٰنٍ مُّبِیۡنٍ ﴿۴۵﴾ اِلٰی فِرۡعَوۡنَ وَ مَلَا۠ئِهٖ
فَاسۡتَکۡبَرُوۡا وَ کَانُوۡا قَوۡمًا عَالِیۡنَ ﴿۴۶﴾ فَقَالُوۡۤا اَنُؤۡمِنُ لِبَشَرَیۡنِ مِثۡلِنَا وَ قَوۡمُهُمَا لَنَا
عٰبِدُوۡنَ ﴿۴۷﴾ فَکَذَّبُوۡهُمَا فَکَانُوۡا مِنَ الۡمُهۡلَکِیۡنَ ﴿۴۸﴾ وَ لَقَدۡ اٰتَیۡنَا مُوۡسَی الۡکِتٰبَ لَعَلَّهُمۡ
یَهۡتَدُوۡنَ ﴿۴۹﴾

پوءِ اسان موسيٰ ۽ ان جي ڀاءُ هارون کي موڪليو. پنهنجن نشانين ۽ پڌري دليل سان گڏ فرعون ۽ ان جي سردارن وٽ، ته انهن تڪبر ڪيو ۽ اهي مغرور ماڻهو هئا. پوءِ انهن چيو ته ڇا اسان پاڻ جهڙن ٻن ماڻهن جي ڳالهه مڃي وٺون، حالانڪ انهن جي قوم جا ماڻهو اسان جا غلام آهن. پوءِ انهن به انهن کي ڪوڙو ڀانئيو. پوءِ اُهي هلاڪ ڪيا ويا ۽ اسان موسيٰ کي ڪتاب ڏنو ته جيئن اهي راهه لهن. ٤٥-٤٩

---

حضرت موسىٰ عليه السلام ۽ حضرت هارون عليه السلام بني اسرائيل جا فرد هئا. بني اسرائيل ان وقت مصر ۾ هئا ۽ اتي جي حڪمران قوم لاءِ مزدور جي حيثيت رکندا هئا. بني اسرائيل جي گهٽ حيثيت ۽ ان جي مقابلي ۾ فرعون ۽ ان جي ساٿين جي برتر حيثيت انهن لاءِ رڪاوٽ بڻجي وئي، اهي هڪ اسرائيلي پيغمبر کي خدا جو نمائندو مڃڻ لاءِ تيار نہ ٿيا. حضرت موسىٰ عليه السلام جيتوڻيڪ انهن جي سامهون نهايت مضبوط دليل پيش ڪيا، پر دليلن جو وزن انهن کي مجبور نہ ڪري سگهيو جو هو پنهنجي تڪبر واري نفسيات کي بدلائين ۽ هڪ محڪوم ماڻهو جي زبان مان ظاهر ٿيڻ واري صداقت جو اعتراف ڪن.

ان جو نتيجو اهو ٿيو تہ الله تعاليٰ پيغمبر جي مدد ڪئي، فرعون پنهنجن سيني طاقتن سان غرق ڪيو ويو. پٺي پاسي جن ماڻهن پيغمبر جو ساٿ ڏنو هو، انهن تي الله تعاليٰ اهو احسان ڪيو جو انهن وٽ پنهنجو هدايت نامو موڪليو، جنهن کي اختيار ڪري ماڻهو دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي کي پاڻ لاءِ يقيني بڻائي سگهي ٿو.

ع ١٨ وَ جَعَلْنَا ابْنَ مَرْيَمَ وَ اُمَّهٗٓ اٰيَةً وَّ اٰوَيْنٰهُمَآ اِلٰى رَبْوَةٍ ذَاتِ قَرَارٍ وَّ مَعِيْنٍ ﴿٥٠﴾

۽ اسان مريم جي پٽ کي ۽ سندس ماءُ کي هڪ نشاني بڻايو ۽ اسان انهن کي هڪ مٿانهين زمين تي ٽِڪاڻو ڏنو. جيڪا سڪون جي جاءِ هئي ۽ اتي چشمو جاري هو. ٥٠

---

حضرت مسيح عليه السلام جي پيءُ کان سواءِ پيدائش هڪ بيحد انوکو واقعو هو، اهو واقعو ڇو ٿيو، اهو هڪ نشاني طور ٿيو. قديم زماني ۾ يهودين کي رسالت واري جماعت جي حيثيت حاصل هئي، پر انهن مسلسل سرڪشي سان پاڻ لاءِ ان جو حق وڃائي ڇڏيو، هاڻي وقت اچي ويو هو تہ اها امانت انهن کان وٺي بني اسماعيل کي ڏني وڃي. تنهن ڪري يهودين تي آخري دفعو حجت پوري ڪرڻ لاءِ انهن جي آخري پيغمبر کي معجزاتي انداز ۾ پيدا ڪيو ويو ۽ ان پيغمبر کي وڏيڪ غيرمعمولي معجزا ڏنا ويا. ان جي باوجود جڏهن يهودي پاڻ عليه السلام جا منڪر بڻجي ويا تہ اها ڳالهہ آخري حدتائين ثابت ٿي وئي تہ اهي رسالت جو بار کڻڻ جا اهل نہ آهن.

حضرت مسيح عليه السلام جي والده حضرت مريم عليها السلام لاءِ اهو انتهائي نازڪ مرحلو هو. اهڙي حال ۾ ان کي سخت ضرورت هئي تہ هو ڪنهن اهڙي جاءِ تي هجي جتي هو ماڻهن جي نظر کان پري رهي سگهي، اتي زندگي جون ضروري شيون بہ هجن ۽ سڪون ۽ اطمينان بہ هجي. الله تعاليٰ جڏهن ان کي اهڙي نازڪ امتحان ۾ وڌو تہ ان سان گڏ ئي ان جي وطن جي قريب هڪ پرامن جاءِ بہ ان لاءِ مهيا فرمائي ڇڏي.

يٰٓاَيُّهَا الرُّسُلُ كُلُوْا مِنَ الطَّيِّبٰتِ وَ اعْمَلُوْا صَالِحًا ؕ اِنِّيْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ﴿٥١﴾ وَ اِنَّ هٰذِهٖٓ اُمَّتُكُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّ اَنَا رَبُّكُمْ فَاتَّقُوْنِ ﴿٥٢﴾

اي پيغمبرو! پاڪ شيون کائو ۽ نيڪ ڪم ڪريو. آئون ڄاڻان ٿو جيڪو ڪجهہ توهان ڪندا آهيو ۽ هي توهان جو دين هڪ ئي دين آهي ۽ آئون توهان جو رب آهيان. پوءِ توهان مون کان ڊڄو. ٥١-٥٢

---

دين اصل ۾ صرف هڪ آهي ۽ اهوئي هڪ دين سيني پيغمبرن کي ڏنو ويو. اهو هي تہ ماڻهو

الله کي هڪ اهڙي عظيم هستي جي حيثيت سان ڳولي وٺي جو هو ان کان ڊڄڻ لڳي. ان جي دل ۽ دماغ تي اهو تصور ڇانيل هجي ته ان جي مٿان هڪ الله تعاليٰ آهي، اهو هرحال ۾ ان کي ڏسي رهيو آهي ۽ اِهو موت کان پوءِ ان کان ان جي سيني عملن جو حساب وٺندو.

اهائي معرفت اصل دين آهي. ان معرفت ۽ ان احساس جي تحت جيڪا زندگي ٺهندي، اُها اِها ئي هوندي جو ماڻهو دنيا جي شين مان پاڪيزه ۽ صاف شيون حاصل ڪندو. هو پنهنجي معاملن ۾ نيڪي ۽ ڀلائي جو طريقو اختيار ڪندو. الله تعاليٰ جي معرفت جو لازمي نتيجو الله جو خوف آهي ۽ الله تعاليٰ جي خوف جو لازمي نتيجو نيڪ زندگي.

فَتَقَطَّعُوْٓا اَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ زُبُرًا ؕ كُلُّ حِزْبٍۭ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُوْنَ ﴿٥٣﴾ فَذَرْهُمْ فِيْ غَمْرَتِهِمْ حَتّٰى حِيْنٍ ﴿٥٤﴾ اَيَحْسَبُوْنَ اَنَّمَا نُمِدُّهُمْ بِهٖ مِنْ مَّالٍ وَّ بَنِيْنَ ﴿٥٥﴾ نُسَارِعُ لَهُمْ فِي الْخَيْرٰتِ ؕ بَلْ لَّا يَشْعُرُوْنَ ﴿٥٦﴾

پوءِ ماڻهن پنهنجي دين کي پاڻ ۾ ٽڪرا ٽڪرا ڪري ورتو. هر جماعت وٽ جيڪو ڪجهه آهي ان ئي تي هو خوش آهي. پوءِ انهن کي سندن بيهوشي ۾ ڪجهه ڏينهن ڇڏي ڏي. ڇا اُهي سمجهن ٿا ته اسان انهن کي جيڪو مال ۽ اولاد ڏيندا پيا وڃون ته اسان انهن کي فائدي پهچائڻ ۾ جلدي ٿا ڪريو. بلڪ هو ڳالهه کي نه ٿا سمجهن. ٥٣-٥٦

---

الله تعاليٰ جو دين جڏهن پنهنجي اصل روح سان گڏ زنده هجي ته اهو ماڻهن ۾ خوف پيدا ڪندو آهي ۽ جڏهن دين جي اصل روح نڪري وڃي ته اهو فخر جو ذريعو بڻجي ويندو آهي، اهو ئي اهو وقت آهي جڏهن دين وارا جماعتن ۾ ورهائجي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندا آهن. هر جماعت پنهنجي حالتن جي لحاظ کان ڪو اهڙو پهلو پڪڙي وٺندي آهي، جنهن ۾ ان لاءِ فخر جو سامان موجود هجي. فخر وارا دين هميشه ڪيترائي هوندا آهن ۽ خوف وارو دين هميشه هڪ هوندو آهي. بيخوفي جي نفسيات راءِ جو تعداد وڌائيندي آهي ۽ خوف جي نفسيات راءِ جو اتحاد پيدا ڪندي آهي.

موجوده دنيا ۾ انسان امتحان جي حالت ۾ آهي، الله جي علم ۾ ڪنهن شخص يا گروهه جي جيڪا مدت آهي، ان مدت تائين ان کي زندگي جو سامان لازماً ڏنو ويندو آهي، ان ڪري غافل ماڻهو سمجهي وٺندا آهن ته هو جيڪو ڪجهه ڪري رهيا آهن صحيح ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن اُهي غلطي تي هجن ها ته انهن جو مال ۽ اسباب انهن کان کسجي وڃي ها. حالانڪ الله جو قانون اهو آهي ته مال ۽ اسباب امتحان جي مدت ختم ٿيڻ تي کسيا وڃن نه وري امتحان جي دوران هدايت کان منهن موڙڻ تي.

اِنَّ الَّذِيْنَ هُمْ مِّنْ خَشْيَةِ رَبِّهِمْ مُّشْفِقُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ يُؤْمِنُوْنَ ﴿٥٨﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ بِرَبِّهِمْ لَا يُشْرِكُوْنَ ﴿٥٩﴾ وَ الَّذِيْنَ يُؤْتُوْنَ مَاۤ اٰتَوْا وَّ قُلُوْبُهُمْ وَجِلَةٌ اَنَّهُمْ اِلٰى رَبِّهِمْ رٰجِعُوْنَ ﴿٦٠﴾ اُولٰٓئِكَ يُسٰرِعُوْنَ فِي الْخَيْرٰتِ وَ هُمْ لَهَا سٰبِقُوْنَ ﴿٦١﴾ وَ لَا نُكَلِّفُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا وَ لَدَيْنَا كِتٰبٌ يَّنْطِقُ بِالْحَقِّ وَ هُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٦٢﴾

بيشڪ جيڪي ماڻهو پنهنجي رب جي خوف کان ڊڄندا آهن ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجي رب جي آيتن تي يقين رکندا آهن ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجي رب سان ڪنهن کي شريڪ نه ٿا ڪن ۽ جيڪي ماڻهو ڏيندا آهن، جيڪو ڪجهه ڏيندا آهن ۽ سندن دليون ڏڪنديون آهن ته هو پنهنجي رب ڏانهن موٽڻ وارا آهن. اهي ماڻهو ڀلاين جي راهه ۾ جلدي ڪري رهيا آهن ۽ اهي ان لاءِ اڳرائي ڪندڙ آهن ۽ اسان ڪنهن تي ان جي طاقت کان وڌيڪ وزن نه ٿا وجهون ۽ اسان وٽ هڪ ڪتاب آهي جيڪو بلڪل ٺيڪ ڳالهائيندو آهي ۽ انهن تي ظلم نه ٿيندو. ٥٧-٦٢

---

جيڪو شخص الله کي اهڙي طرح لهي جو ان تي الله جو خوف طاري ٿي وڃي. اهو عام انسانن کان بلڪل مختلف انسان هوندو آهي، خوف جي نفسيات ان کي انتهائي حدتائين سنجيده بڻائي ڇڏيندي آهي. ان جي سنجيدگي ان ڳالهه جي ضامن بڻجي ويندي آهي ته هو الله تعاليٰ جي دليلن جي وزن کي پوري طرح سمجهي ۽ ان جي اڳيان فوراً جهڪي وڃي. الله کان سواءِ هر شيءِ ان جي نظر ۾ پنهنجو وزن وڃائي ڇڏي. هو سڀ ڪجهه ڪري به اهو سمجهي ته ان ڪجهه به نه ڪيو.

موجوده دنيا ۾ ڊوڙ ڊڪ ڪرڻ جون ٻه راهون کليل آهن. هڪ دنيا جي راهه ۽ ٻي آخرت جي راهه. جن ماڻهن اندر مٿي ڄاڻايل صفتون هونديون آهن. اهي ئي اُهي ماڻهو آهن جيڪي آخرت ڏانهن ڊوڙڻ وارا آهن، جيئن ته آخرت ڏانهن ڊوڙڻ موجوده دنيا ۾ هڪ بيحد مشڪل ڪم آهي. ان ۾ انسان کان طرح طرح جون ڪوتاهيون ٿي ويندون آهن. پر الله تعاليٰ جو مطالبو هر ماڻهو کان ان جي طاقت مطابق آهي نه وري طاقت کان وڌيڪ. هر ماڻهو جي طاقت ۽ ان جو ڪارنامو ٻئي ڪامل طور تي خدا جي علم ۾ آهن ۽ اهوئي واقعو ان ڳالهه جي ضمانت آهي ته قيمت ۾ هر ماڻهو کي اها رعايت ملي جيڪا انصاف طور ان کي ملڻ کپي ۽ هر ماڻهو کي اهو انعام ملي جنهن جو هو حقيقت ۾ مستحق هو.

بَلْ قُلُوْبُهُمْ فِيْ غَمْرَةٍ مِّنْ هٰذَا وَ لَهُمْ اَعْمَالٌ مِّنْ دُوْنِ ذٰلِكَ هُمْ لَهَا عٰمِلُوْنَ۝۶۳ حَتّٰۤى اِذَاۤ اَخَذْنَا مُتْرَفِيْهِمْ بِالْعَذَابِ اِذَا هُمْ يَجْـَٔرُوْنَ۝۶۴ لَا تَجْـَٔرُوا الْيَوْمَ اِنَّكُمْ مِّنَّا لَا تُنْصَرُوْنَ۝۶۵ قَدْ كَانَتْ اٰيٰتِيْ تُتْلٰى عَلَيْكُمْ فَكُنْتُمْ عَلٰۤى اَعْقَابِكُمْ تَنْكِصُوْنَ۝۶۶ مُسْتَكْبِرِيْنَ بِهٖ سٰمِرًا تَهْجُرُوْنَ۝۶۷

بلڪ سندن دليون اُنهي کان غفلت ۾ آهن ۽ انهن جا ڪجهه ڪم ان کان علاوه آهن. هو انهن کي ڪندا رهندا آهن. ايستائين جڏهن اسان انهن جي خوشحال ماڻهن کي عذاب ۾ پڪڙينداسون ته هو فرياد ڪرڻ لڳندا. هاڻي فرياد نه ڪريو. هاڻي اسان جي طرفان توهان جي ڪا مدد نه ٿيندي، توهان کي منهنجون آيتون ٻڌايون وينديون هيون ته توهان پٺي ڦيرائي ڀڄندا هئا. انهن کان تڪبر ڪندي، ڄڻ ته ڪنهن قصو ٻڌائڻ واري کي ڇڏي رهيا آهيو. ٦٣-٦٧

---

جيڪي ماڻهو دنيا پرستي ۾ غرق هجن انهن کي خدا ۽ آخرت جي ڳالهين سان دلچسپي نه هوندي آهي، انهن جي دلچسپي جون شيون ان کان مختلف هونديون آهن. جيڪي سچي اهل ايمان وارن جي دلچسپي جون شيون هونديون آهن. الله تعاليٰ ۽ آخرت جي ڳالهه چاهي ڪيتري ئي اثرائتي انداز ۾ بيان ڪئي وڃي، انهن کي متاثر نه ٿي ڪري، هو اهڙين ڳالهين کي نظرانداز ڪري پنهنجي ٻين

دلچسپين ۾ گم رهندا آهن. اهي حق جي داعي جي مجلس مان اهڙي طرح اٿي ويندا آهن. ڄڻ ڪنهن فضول قصو ٻڌائڻ واري کي ڇڏي هليو وڃڻ.

پر جڏهن خدا جي پڪڙ ايندي آهي ته اهڙا ماڻهو غفلت ۽ سرڪشي کي وساري عاجزي سان فرياد ڪرڻ لڳندا آهن. ان وقت هو خدا جي اڳيان جهڪي ويندا آهن. پر ان وقت جو جهڪڻ بيڪار هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته خدا جي اڳيان جهڪڻ اهو ئي معتبر آهي، جڏهن ته ماڻهو الله تعاليٰ جي نشاني کي ڏسي جهڪي وڃي، جڏهن خدا خود پنهنجن طاقتن سان ظاهر ٿي وڃي ته ان وقت جهڪڻ جي ڪا به قيمت نه آهي.

اَفَلَمْ يَدَّبَّرُوا الْقَوْلَ اَمْ جَآءَهُمْ مَّا لَمْ يَاْتِ اٰبَآءَهُمُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٦٨﴾ اَمْ لَمْ يَعْرِفُوْا رَسُوْلَهُمْ فَهُمْ لَهٗ مُنْكِرُوْنَ ﴿٦٩﴾ اَمْ يَقُوْلُوْنَ بِهٖ جِنَّةٌ ؕ بَلْ جَآءَهُمْ بِالْحَقِّ وَ اَكْثَرُهُمْ لِلْحَقِّ كٰرِهُوْنَ ﴿٧٠﴾ وَ لَوِ اتَّبَعَ الْحَقُّ اَهْوَآءَهُمْ لَفَسَدَتِ السَّمٰوٰتُ وَ الْاَرْضُ وَ مَنْ فِيْهِنَّ ؕ بَلْ اَتَيْنٰهُمْ بِذِكْرِهِمْ فَهُمْ عَنْ ذِكْرِهِمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٧١﴾

پوءِ ڇا انهن ان ڪلام تي غور نه ڪيو يا انهن وٽ اهڙي شيءِ آئي آهي جيڪا سندن اڳين ابن ڏاڏن وٽ نه آئي هئي يا انهن پنهنجي رسول کي سڃاتو نه آهي، ان ڪري هو ان کي نه ٿا مڃين يا اهي چوندا آهن ته ان کي جنون آهي. بلڪ هو انهن وٽ حق ڪٺي آيو آهي ۽ انهن مان اڪثر کي حق ڳالهه بري لڳندي آهي ۽ جيڪڏهن حق انهن جي خواهشن جي تابع هجي ها ته آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي انهن ۾ آهن سڀ تباهه ٿي وڃن ها. بلڪ اسان انهن وٽ سندن نصيحت موڪلي آهي ته هو پنهنجي نصيحت کان منهن موڙي رهيا آهن. ٦٨-٧١

---

حق اهو آهي جيڪو حقيقت جي مطابق هجي. پر خواهش پرست انسان اهو چاهيندو آهي ته حق کي ان جي خواهش جي تابع ڪيو وڃي. ان قسم جي ماڻهن جو حال اهو هوندو آهي ته داعي جڏهن حق ڳالهه چوندو آهي ته هو ان کان ناراض ٿي ويندا آهن. اهي حق جي تابع نه ٿا ٿيڻ چاهين، ان ڪري هو چاهڻ لڳندا آهن ته حق کي سندن تابع ڪيو وڃي. پنهنجي ان نفسيات جي ڪري اهي حق جي آواز تي ڌيان نه ٿا ڏين، حق انهن کي اجنبي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اهي حق جي داعي کي ان جي اصل حيثيت ۾ سڃاڻي ناهن سگهندا پاڻ کي حق تي ظاهر ڪرڻ لاءِ اهي داعي کي بدنام ڪرڻ لڳندا آهن.

ڪائنات ۾ ڪامل هم آهنگي نظر ايندي آهي. ان جي ابتڙ انساني دنيا ۾ هر طرف فساد ۽ بگاڙ آهي. ان جو سبب اهو آهي ته ڪائنات جو نظام حق جي بنياد تي هلي رهيو آهي. يعني اهو ئي ٿيڻ جيڪو ٿيڻ گهرجي يا اهو نه ٿيڻ جيڪو نه ٿيڻ گهرجي. هاڻي جيڪڏهن ڪائنات جو نظام به انسان جي خواهش تي هلڻ لڳي ته جيڪو فساد انساني دنيا ۾ آهي، اهوئي فساد باقي ڪائنات ۾ برپا ٿي ويندو.

نصيحت ۽ تنقيد هميشه ماڻهو لاءِ سڀني کان وڌيڪ تلخ شيءِ هوندي آهي. تمام گهڻا خدا جا اهڙا ٻانها آهن. جيڪي نصيحت ۽ تنقيد کي کُلي ذهن سان ٻڌن، اڪثر ماڻهو ان کي نظرانداز ڪري گذري ويندا آهن.

اَمۡ تَسۡـَٔلُهُمۡ خَرۡجًا فَخَرَاجُ رَبِّكَ خَيۡرٌ ۖ وَّ هُوَ خَيۡرُ الرّٰزِقِيۡنَ﴿۷۲﴾ وَ اِنَّكَ لَتَدۡعُوۡهُمۡ اِلٰى
صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ﴿۷۳﴾ وَ اِنَّ الَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِالۡاٰخِرَةِ عَنِ الصِّرَاطِ لَنٰكِبُوۡنَ﴿۷۴﴾

ڇا تون انهن کان ڪو اُجورو گهُري رهيو آهين ته تنهنجي رب جو اجر تنهنجي لاءِ بهتر آهي ۽ اُهو بهترين روزي ڏيڻ وارو آهي ۽ بيشڪ تون انهن کي هڪ سڌي رستي ڏانهن سڏين ٿو ۽ جيڪي ماڻهو آخرت تي يقين نه ٿا رکن اهي رستي کان هٽي ويا آهن. ٧٢-٧٤

---

پيغمبر پنهنجن مخاطبن مان ڪڏهن به ڪو مالي غرض نه ٿو رکي. پيغمبر ۽ ان جي مخاطبن جو تعلق داعي ۽ مدعو جو هوندو آهي، داعي ۽ مدعو جو تعلق بيحد نازڪ تعلق آهي. داعي جيڪڏهن هڪ پاسي ماڻهن کي آخرت جو پيغام ڏي ۽ ان ئي سان گڏ هو انهن کان دنيا جا مطالبا به ڪري ته ان جي دعوت ماڻهن جي نظر ۾ مذاق بڻجي رهجي ويندي. اهوئي سبب آهي جو پيغمبر ڪنهن به حال ۾ پنهنجي مدعو سان ڪو مادي مطالبو نه ٿو ڪري. چاهي ان کي هر قسم جو نقصان برداشت ڪرڻو پوي.

داعي جو اصل معاوضو خود اهو حق هوندو آهي، جنهن کي ڪٽي هو بيٺو آهي. الله تعاليٰ جي دريافت ان جو سيني کان وڏو سرمايو هوندو آهي. داعي واري زندگي گذارڻ جي نتيجي ۾ ان کي جيڪي رباني تجربا ٿيندا آهن. اُهي ان جي روح کي سيني کان وڏي غذا فراهم ڪندا آهن. اعليٰ مقصد جي لاءِ ڪوشش ۾ رهڻ سان جيڪا لذت ملندي آهي. اها ان جي تسڪين جو سيني کان وڏو سامان هوندو آهي.

حق جي دعوت کي اهو ئي ماڻهو مڃيندو جنهن کي آخرت جو ڪٽڪو لڳل هجي، آخرت جو احساس ماڻهو کي سنجيده بڻائي ٿو ۽ سنجيدگي ئي اها شيءِ آهي جيڪا ماڻهو کي مجبور ڪندي آهي ته هو حقيقت کي مڃي. جيڪو ماڻهو سنجيده نه هجي، اهو ڪڏهن به حقيقت کي تسليم نه ڪندو، چاهي ان کي دليلن سان ڪيترو ئي ثابت ڪيو وڃي.

وَ لَوۡ رَحِمۡنٰهُمۡ وَ كَشَفۡنَا مَا بِهِمۡ مِّنۡ ضُرٍّ لَّلَجُّوۡا فِىۡ طُغۡيَانِهِمۡ يَعۡمَهُوۡنَ﴿۷۵﴾ وَ لَقَدۡ
اَخَذۡنٰهُمۡ بِالۡعَذَابِ فَمَا اسۡتَكَانُوۡا لِرَبِّهِمۡ وَ مَا يَتَضَرَّعُوۡنَ﴿۷۶﴾ حَتّٰۤى اِذَا فَتَحۡنَا عَلَيۡهِمۡ
بَابًا ذَا عَذَابٍ شَدِيۡدٍ اِذَا هُمۡ فِيۡهِ مُبۡلِسُوۡنَ﴿۷۷﴾ ع

۽ جيڪڏهن اسان انهن تي رحم ڪريون ۽ انهن تي جيڪا تڪليف آهي، اها پري ڪري ڇڏيون، تڏهن به هو پنهنجي سرڪشي ۾ ڀٽڪندا رهندا ۽ اسان انهن کي عذاب ۾ پڪڙيو، پر نه اهي پنهنجي رب جي اڳيان جهڪيا ۽ نه انهن عاجزي ڪئي، ايستائين جو اسان انهن تي سخت عذاب جو در کولي ڇڏينداسون ته ان وقت اهي انهيءَ ۾ نااميد ٿي رهجي ويندا. ٧٥-٧٧

---

مڪي دور ۾ جڏهن قريش رسول اللهﷺ جي دعوت کي رد ڪري ڇڏيو ته الله تعاليٰ ڪجهه سالن لاءِ مڪي وارن کي ڏڪار ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. اهو ڏڪار ايترو سخت هو جو گهڻا ئي ماڻهو مردار

ڪائڻ تي مجبور ٿي ويا. اها الله تعاليٰ جي هڪ عام سنت آهي ته جڏهن ڪا جماعت سرڪشي اختيار ڪندي آهي ۽ نصيحت قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿي ٿئي ته هو ان جماعت تي تنبيهه طور عذاب موڪليندو آهي ته جيئن انهن جا دل نرم ٿين ۽ اهي حق ڳالهه ڏانهن ڌيان ڏئي سگهن.

پر تاريخ جو تجربو آهي ته انسان نه سٺين حالتن مان سبق وٺندو آهي ۽ نه برين حالتن مان. پنهي قسم جي حالتن جو مقصد اهو هوندو آهي ته ماڻهو الله ڏانهن رجوع ڪري. پر انسان ايئن ڪندو آهي جو هو سٺين حالتن کي پنهنجي تدبير جو نتيجو سمجهي وٺندو آهي ۽ برين حالتن کي زماني جي قير گهير جو. اهڙي طرح هو ٻنهي قسمن جي حالتن کان سبق وٺڻ کان محروم رهجي ويندو آهي.

ماڻهو اهڙي غفلت ۾ پيل هوندو آهي. ايستائين جو الله تعاليٰ جو آخري فيصلو اچي ويندو آهي. ان وقت هو حيران رهجي ويندو آهي ته اها شيءِ جنهن کي ان اهم نه سمجهي ڪري نظرانداز ڪري ڇڏيو هو. اهائي دنيا جي سڀني کان وڏي ۽ اهم حقيقت هئي.

وَ هُوَ الَّذِيْٓ اَنْشَاَ لَكُمُ السَّمْعَ وَ الْاَبْصَارَ وَ الْاَفْـِٕدَةَ ؕ قَلِيْلًا مَّا تَشْكُرُوْنَ ۝٧٨ وَ هُوَ الَّذِيْ ذَرَاَكُمْ فِي الْاَرْضِ وَ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ۝٧٩ وَ هُوَ الَّذِيْ يُحْيٖ وَ يُمِيْتُ وَ لَهُ اخْتِلَافُ الَّيْلِ وَ النَّهَارِ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ۝٨٠

۽ اهوئي آهي جنهن توهان لاءِ ڪن ۽ اکيون ۽ دل بڻايا. توهان تمام گهٽ شڪر ادا ڪندا آهيو ۽ اهوئي آهي جنهن توهان کي زمين ۾ پکيڙيو ۽ توهان ان ئي ڏانهن گڏ ڪيا ويندو ۽ اهوئي جيئاري ٿو ۽ ماري ٿو ۽ ان ئي جي اختيار ۾ آهي رات ۽ ڏينهن جو بدلجڻ. پوءِ ڇا توهان سمجهو نه ٿا. ٧٨-٨٠

---

انسان هن ڪائنات جي اها خاص مخلوق آهي. جنهن کي سڀني کان منفرد ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ۽ سوچڻ جون اعليٰ صلاحيتون ڏنيون ويون آهن. اهي خاص صلاحيتون بيشڪ ڪنهن خاص مقصد لاءِ آهن. اهو مقصد اهو آهي ته ماڻهو انهن کي زندگي جي حقيقت جي معرفت لاءِ استعمال ڪري. هو پنهنجي ڪنن سان ان صداقت جي آواز کي ٻڌي جنهن جو اعلان ڪائنات ۾ ڪيو پيو وڃي. هو پنهنجن اکين سان انهن نشانين کي ڏسي. جيڪي ان جي چئني پاسي پکڙيل آهن. هو پنهنجي سوچڻ جي صلاحيت کي استعمال ڪري انهن جي گهرائي تائين پهچي. اهوئي ڪنن ۽ اکين ۽ دل جو شڪر آهي. جيڪي ماڻهو موجوده دنيا ۾ ان شڪر جو ثبوت نه ڏين. ته اهي انهن انعامن جو حق هميشه لاءِ وڃائي رهيا آهن.

الله تعاليٰ جون جيڪي صفتون دنيا ۾ ظاهر ٿي رهيون آهن. انهن مان هڪ اها آهي ته هو زنده کي مرده ۽ مرده کي زنده ڪندو آهي. اهو الله تعاليٰ آخرڪار سڀني مئل ماڻهن کي ٻيهر گڏ ڪندو. پوءِ جهڙي طرح هو رات کي ڏينهن بڻائي ٿو. اهڙي طرح هو ماڻهن جي نظرن تان غفلت جو پردو هٽائي ڇڏيندو. ان کان پوءِ شين جي حقيقت ماڻهن تي ٺيڪ ٺيڪ واضح ٿي ويندي.

بَلْ قَالُوْا مِثْلَ مَا قَالَ الْاَوَّلُوْنَ ۝٨١ قَالُوْٓا ءَاِذَا مِتْنَا وَ كُنَّا تُرَابًا وَّ عِظَامًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ ۝٨٢ لَقَدْ وُعِدْنَا نَحْنُ وَ اٰبَآؤُنَا هٰذَا مِنْ قَبْلُ اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ۝٨٣

بلڪ انهن اهائي ڳالهه چئي جيڪا اڳين چئي هئي. انهن چيو ته ڇا جڏهن اسان مري وينداسون ۽ اسان مٽي ۽ هڏا ٿي وينداسون ته ڇا اسان ٻيهر اٿاريا وينداسون. ان جو واعدو اسان کي ۽ ان کان اڳ ۾ اسان جي ابن ڏاڏن کي به ڏنو ويو هو. اهي رڳو اڳين جا قصا آهن. ٨١-٨٣

---

انسان کي عقل ڏنو ويو آهي. عقل جي اندر اها صلاحيت آهي ته هو معاملي جي گهرائي ۾ داخل ٿئي ۽ اصل حقيقت کي دريافت ڪري ۽ ان کي سمجهي سگهي، پر تمام گهٽ ايئن ٿيندو آهي جو انسان حقيقي معنيٰ ۾ پنهنجي عقل کي استعمال ڪري، هو بس ظاهري اثر جي ڪري هڪ راءِ قائم ڪري وٺندو آهي ۽ ان کي ورجائڻ لڳندو آهي. ماضي جا ماڻهو به ايئن ڪندا رهيا ۽ حال جا ماڻهو به ايئن ئي ڪري رهيا آهن.

موت کان پوءِ ٻيهر زنده ٿيڻ جو شعوري يا لفظي انڪار ڪرڻ وارا تمام گهٽ هوندا آهن. گهڻو ڪري ماڻهن کي ان عقيدي جو عملي منڪر چئي سگهجي ٿو. هي اهي ماڻهو آهن جيڪي رسمي طور تي موت کان پوءِ واري زندگي کي مڃيندي عملن اهڙي زندگي گذاريندا آهن ڄڻ ته انهن کي ان تي يقين نه هجي ته مرڻ کان پوءِ اهي ٻيهر اٿاريا ويندا ۽ جهڙي طرح اڄ اهي هوش ۽ حواس سان زنده آهن، اهڙي طرح ٻيهر هوش ۽ حواس سان گڏ زنده ٿي ڪري خدا جي سامهون پيش ٿيندا.

قُلْ لِّمَنِ الْاَرْضُ وَ مَنْ فِيْهَآ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٨٤﴾ سَيَقُوْلُوْنَ لِلّٰهِ ؕ قُلْ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٨٥﴾ قُلْ مَنْ رَّبُّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ﴿٨٦﴾ سَيَقُوْلُوْنَ لِلّٰهِ ؕ قُلْ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿٨٧﴾ قُلْ مَنْۢ بِيَدِهٖ مَلَكُوْتُ كُلِّ شَيْءٍ وَّ هُوَ يُجِيْرُ وَ لَا يُجَارُ عَلَيْهِ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٨٨﴾ سَيَقُوْلُوْنَ لِلّٰهِ ؕ قُلْ فَاَنّٰى تُسْحَرُوْنَ ﴿٨٩﴾

چئو ته زمين ۽ جيڪو ان ۾ آهي ڪنهن جو آهي، جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا. هو چوندا ته الله جو آهي. چئو ته پوءِ توهان سوچيو نه ٿا. چئو ته ڪير مالڪ آهي ستن آسمانن جو ۽ ڪير مالڪ آهي عرش عظيم جو. هو چوندا ته سڀ الله جو آهي. چئو پوءِ ڇا توهان ڊڄو نه ٿا. چئو ته ڪير آهي جنهن جي هٿ ۾ هر شيءِ جو اختيار آهي ۽ هو پناهه ڏيندو آهي ۽ هن جي مقابلي ۾ ڪو پناهه نه ٿو ڏئي سگهي. جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا. هو چوندا ته هي الله جي لاءِ آهي، چئو ته پوءِ توهان ڪٿان ٿا دوکو کائو. ٨٤-٨٩

---

هنن آيتن ۾ ان فڪر جي تضاد جو تذڪرو آهي جنهن ۾ هر دور جا اڪثر ماڻهو مبتلا رهيا آهن. چاهي اهي مشرڪ هجن يا غيرمشرڪ. بظاهر الله تعاليٰ کي هڪ مڃڻ وارا هجن يا ڪيترن ئي خدائن کي مڃڻ وارا.

اڪثر ماڻهن جو حال اهو آهي جو هو ان ڳالهه کي مڃيندا آهن ته زمين ۽ آسمان جو خالق هڪ الله آهي. اهوئي ان جو مالڪ آهي، اهوئي ان کي هلائي رهيو آهي، سڀو اختيار ان ئي کي حاصل آهي، پر هن مڃڻ جو جيڪو لازمي تقاضو آهي. ان جو ڪو اثر انهن جي زندگين ۾ ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي.

ان عظيم اقرار جو تقاضو آهي ته اهوئي انهن جي سوچ بڻجي وڃي. الله تعاليٰ جو احساس انهن جي اندر خوف بڻجي داخل ٿي وڃي. انهن جي اندر اها صفت پيدا ٿئي ته انهن جي سامهون حق اچي ته هو

يڪدم ان جو اعتراف ڪري وٺن. انهن جي سڄي زندگي ان مطابق بدلجي وڃي، پر اهو سڀ ڪجهه نه ٿيندو آهي. هو جيتوڻيڪ عقيدي طور تي خدا کي مڃيندا آهن، پر سندن خدا وارو عقيدو الڳ رهندو آهي ۽ سندن حقيقي زندگي الڳ.

الله تعاليٰ جو تصور انسان کي متاثر نه ٿو ڪري. البته ٻيون شيون ان جي نظر ۾ ايتريون اهم بڻجي وينديون آهن، جن ڪان هو متاثر ٿي ويندو آهي. ڪهڙو نه عجيب آهي انسان جو معاملو.

بَلْ اَتَيْنٰهُمْ بِالْحَقِّ وَ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ۝۹۰ مَا اتَّخَذَ اللّٰهُ مِنْ وَّلَدٍ وَّ مَا كَانَ مَعَهٗ مِنْ اِلٰهٍ اِذًا لَّذَهَبَ كُلُّ اِلٰهٍۭ بِمَا خَلَقَ وَ لَعَلَا بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ؕ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يَصِفُوْنَ۝۹۱

ع عٰلِمِ الْغَيْبِ وَ الشَّهَادَةِ فَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ۝۹۲

بلڪ اسان انهن وٽ حق آندو آهي ۽ بيشڪ اُهي ڪوڙا آهن. الله ڪو پٽ نه بڻايو ۽ ان سان ڪو ٻيو معبود نه آهي. ايئن هجي ها ته هر معبود پنهنجي مخلوق کي وٺي الڳ ٿي وڃي ها ۽ هڪ ٻئي تي چڙهائي ڪري ها. الله پاڪ آهي ان ڪان جيڪو هو بيان ڪندا آهن، هو ظاهر ۽ غيب جو ڄاڻڻ وارو آهي. هو تمام مٿانهون آهي ان ڪان جنهن کي (سندس) شريڪ بڻائيندا آهن. ٩٠-٩٢

---

اقتدار جي اها فطرت آهي جو هو تقسيم کي گوارا نه ٿو ڪري. انسانن ۾ جڏهن به ڪيترائي صاحب اقتدار هجن ته هو پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي شڪست ڏيڻ يا گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل هوندا آهن. ايستائين جو جيڪي قومون مختلف ديوتائن کي مڃينديون آهن. انهن جي ميٿالاجي ۾ ڪثرت سان ڏيکاريو ويو آهي ته هڪ ديوتا ۽ ٻئي ديوتا ۾ جنگيون جاري آهن.

ڪائنات ۾ ان صورتحال جي موجودگي ته ان جي هڪ حصي ۽ ٻئي حصي ۾ ڪوبه ٽڪراءُ نه ٿو ٿئي، اهو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته هر حصي جو الله هڪ ئي آهي، جيڪڏهن هر حصي جا الڳ الڳ خدا هجن ها ته هر حصي جو خدا پنهنجي حصي کي وٺي الڳ ٿي وڃي ها ۽ ان جي نتيجي ۾ ڪائنات جي مختلف حصن ۾ موجوده هم آهنگي باقي نه رهي ها. مختلف خدائن جي ڇڪتاڻ ۾ ڪائنات جو نظام برباد ٿي وڃي ها.

اهڙي حالت ۾ توحيد جو نظريو سراسر سچائي آهي ۽ شرڪ جو نظريو سراسر ڪوڙ.

قُلْ رَّبِّ اِمَّا تُرِيَنِّيْ مَا يُوْعَدُوْنَ۝۹۳ رَبِّ فَلَا تَجْعَلْنِيْ فِي الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ۝۹۴ وَ اِنَّا عَلٰۤى اَنْ نُّرِيَكَ مَا نَعِدُهُمْ لَقٰدِرُوْنَ۝۹۵

چئو ته اي منهنجا رب! جيڪڏهن تون مون کي اهو ڏيکارين جنهن جو انهن سان واعدو ڪيو پيو وڃي. ته اي منهنجا رب! مون کي ظالم ماڻهن ۾ شامل نه ڪجانءِ ۽ بيشڪ اسان قادر آهيون ته اسان انهن سان جيڪو واعدو ڪري رهيا آهيون، اهو توکي ڏيکاري ڇڏيون. ٩٣-٩٥

---

پيغمبر جي هن دعا جو تعلق خود پيغمبر جي دل جي ڪيفيت سان آهي نه وري الله تعاليٰ جي

عذاب سان. پيغمبر جي اها دعا ٻڌائي ٿي تہ مؤمن هرحال ۾ الله کان ڊڄڻ وارو انسان هوندو آهي. الله جو عذاب جڏهن ٻين جي لاءِ اچي رهيو هجي، ان وقت بہ مؤمن جو دل ڏڪي پوندو آهي. هو عاجزي سان الله کي پڪارڻ لڳندو آهي، ڇاڪاڻ تہ هو ڄاڻي ٿو تہ انسان صرف الله تعاليٰ جي عنايت سان بچي سگهي ٿو، نہ وري پنهنجي ڪنهن عمل يا پنهنجي طاقت سان.

پيغمبر جي منڪرن تي الله تعاليٰ جو فيصلو ڪڏهن پيغمبر جي زندگي ۾ ايندو آهي ۽ ڪڏهن پيغمبر جي وفات کان پوءِ. آيت جو آخري حصو ٻڌائي ٿو تہ رسول اللهﷺ جي منڪرن تي خدا جو اهو فيصلو پاڻﷺ جي زندگي ئي ۾ آيو. پاڻﷺ جا دشمن پاڻﷺ جي زندگي ۾ ئي ناس ڪيا ويا.

اِدۡفَعۡ بِالَّتِيۡ هِيَ اَحۡسَنُ السَّيِّئَةَ ؕ نَحۡنُ اَعۡلَمُ بِمَا يَصِفُوۡنَ ﴿٩٦﴾ وَ قُلۡ رَّبِّ اَعُوۡذُ بِكَ مِنۡ هَمَزٰتِ الشَّيٰطِيۡنِ ﴿٩٧﴾ وَ اَعُوۡذُ بِكَ رَبِّ اَنۡ يَّحۡضُرُوۡنِ ﴿٩٨﴾

تون برائي کي اهڙي طريقي سان ٽار جيڪو بهتر هجي. اسان چڱي طرح ڄاڻندا آهيون جيڪو اُهي ماڻهو چوندا آهن ۽ چؤ تہ اي منهنجا رب! آئون پناهہ گهران ٿو شيطانن جي وسوسن کان ۽ اي منهنجا رب! آئون تو کان پناهہ گهران ٿو جو هو مون وٽ اچن. ٩٦-٩٨

---

الله تعاليٰ جو داعي جڏهن ماڻهن کي حق ڏانهن سڏيندو آهي تہ اڪثر ايئن ٿيندو آهي تہ ماڻهو ان جا دشمن بڻجي ٿا وڃن. هو ان جي خلاف ڪوڙي پروپيگنڊا ڪندا آهن. هو ان کي پنهنجي شر جو نشانو بڻائيندا آهن. ان وقت داعي جي اندر بہ جوابي ذهن پيدا ٿيندو آهي. ان جي دل ۾ اهو خيال ايندو آهي تہ جن ماڻهن ان سان برو سلوڪ ڪيو آهي تہ هو بہ انهن سان برو سلوڪ ڪري، جيڪڏهن هو خاموش رهيو تہ انهن جا حوصلا وڌي ويندا ۽ اهي وڌيڪ مخالفاڻيون ڪارروائيون ڪرڻ لاءِ دلير ٿي ويندا.

پر اهڙي قسم جا خيال شيطان جا وسوسا آهن. شيطان ان نازڪ موقعي تي ماڻهو کي ورغلائيندو آهي، تہ جيئن ان کي راهہ کان بي راهہ ڪري ڇڏي. اهڙي موقعي تي داعي ۽ مؤمن کي گهرجي تہ هو شيطان جي ورغلائڻ جي مقابلي ۾ الله جي پناهہ گهري، نہ وري شيطاني وسوسن کي مڃيندي پنهنجن مخالفن جي خلاف انتقامي ڪارروائيون ڪرڻ لڳي.

حَتّٰۤي اِذَا جَآءَ اَحَدَهُمُ الۡمَوۡتُ قَالَ رَبِّ ارۡجِعُوۡنِ ﴿٩٩﴾ لَعَلِّيۡۤ اَعۡمَلُ صَالِحًا فِيۡمَا تَرَكۡتُ كَلَّا ؕ اِنَّهَا كَلِمَةٌ هُوَ قَآئِلُهَا ؕ وَ مِنۡ وَّرَآئِهِمۡ بَرۡزَخٌ اِلٰي يَوۡمِ يُبۡعَثُوۡنَ ﴿١٠٠﴾ فَاِذَا نُفِخَ فِي الصُّوۡرِ فَلَاۤ اَنۡسَابَ بَيۡنَهُمۡ يَوۡمَئِذٍ وَّ لَا يَتَسَآءَلُوۡنَ ﴿١٠١﴾ فَمَنۡ ثَقُلَتۡ مَوَازِيۡنُهٗ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ﴿١٠٢﴾ وَ مَنۡ خَفَّتۡ مَوَازِيۡنُهٗ فَاُولٰٓئِكَ الَّذِيۡنَ خَسِرُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ فِيۡ جَهَنَّمَ خٰلِدُوۡنَ ﴿١٠٣﴾ تَلۡفَحُ وُجُوۡهَهُمُ النَّارُ وَ هُمۡ فِيۡهَا كٰلِحُوۡنَ ﴿١٠٤﴾

ايستائين جڏهن انهن مان ڪنهن تي موت ايندي آهي تہ هو چوندو آهي تہ اي منهنجا رب! مون کي واپس موٽاءِ، تہ جيئن جنهن کي آئون ڇڏي آيو آهيان، ان ۾ ڪجهہ نيڪي ڪمايان. هرگز نہ. اها هڪ ڳالهہ آهي جيڪا هو

چوي ٿو ۽ انهن جي اڳيان هڪ پردو آهي. ان ڏينهن تائين جڏهن اهي اٿاريا ويندا. پوءِ جڏهن صور ڦوڪيو ويندو ته پوءِ سندن وچ ۾ نه ڪو رشتو رهندو ۽ نه ڪو ڪنهن کي پڇندو. پوءِ جن جا پلڙا ڳرا هوندا، اهي ئي ماڻهو ڪامياب هوندا ۽ جن جا پلڙا هلڪا هوندا، ته اُهي ئي ماڻهو آهن جن پنهنجي پاڻ کي گهاٽي ۾ وڌو. اهي جهنم ۾ هميشه رهندا. انهن جي چهرن کي باهه ساڙي ڇڏيندي ۽ اهي ان ۾ بدصورت هوندا. ٩٩-١٠٤

---

موت ايندي ئي ماڻهو موجوده دنيا کان جدا ٿي ويندو آهي. ان کان پوءِ ان جي ۽ موجوده دنيا جي وچ ۾ هڪ اهڙي آڙ قائم ٿي ويندي آهي جو هو ڪڏهن به واپس نه ٿو ٿي سگهي.

ماڻهو جڏهن موت کان پوءِ ٻي دنيا ۾ داخل ٿيندو آهي ته اچانڪ ان جي اک کلي پوندي آهي، هاڻي هو ڇاڻي وٺندو آهي ته جنهن آخرت کي هو نظرانداز ڪري رهيو هو، اها ئي اصل ۾ زندگي جو سيني کان وڏو مسئلو هو. دنيا جا سامان ته رڳو ان لاءِ هئا ته انهن سان آخرت جي ڪمائي ڪئي وڃي نه وري اهو ته خود ان ساز و سامان کي اصل مقصد سمجهي ورتو وڃي، تنهن ڪري موت کان پوءِ هو بي اختيار چاهيندو ته ڪاش ان کي ٻيهر دنيا ۾ موٽايو وڃي. پرائين ٿيڻ ممڪن نه آهي، ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ جو قانون اِهو آهي جو ڪنهن ماڻهو کي صرف هڪ دفعو موقعو ڏنو وڃي نه وري ٻيو دفعو.

موجوده دنيا ۾ ماڻهو پنهنجن ساٿين ۽ مٿن مائٽن تي ڀروسو ڪندو آهي. پر قيامت ۾ اهو بلڪل تنها هوندو، اتي ماڻهو جو ذاتي عمل ان جي ڪم ايندو، ان کان سواءِ ڪا به شيءِ ڪنهن جي ڪم اچڻ واري نه آهي.

اَلَمۡ تَكُنۡ اٰيٰتِىۡ تُتۡلٰى عَلَيۡكُمۡ فَكُنۡتُمۡ بِهَا تُكَذِّبُوۡنَ ﴿١٠٥﴾ قَالُوۡا رَبَّنَا غَلَبَتۡ عَلَيۡنَا شِقۡوَتُنَا وَ
كُنَّا قَوۡمًا ضَآلِّيۡنَ ﴿١٠٦﴾ رَبَّنَاۤ اَخۡرِجۡنَا مِنۡهَا فَاِنۡ عُدۡنَا فَاِنَّا ظٰلِمُوۡنَ ﴿١٠٧﴾ قَالَ اخۡسَـُٔوۡا فِيۡهَا وَ
لَا تُكَلِّمُوۡنِ ﴿١٠٨﴾

ڇا اوهان کي منهنجون آيتون پڙهي نه ٻڌايون وينديون هيون جو اوهان انهن کي ڪوڙو ڀائيندا هئا. هو چوندا ته اي اسان جا رب! اسان جي بدبختي اسان کي گهيري ورتو هو ۽ اسان گمراهه ماڻهو هئاسون. اي اسان جا رب! اسان کي هتان ڪڍ. پوءِ جيڪڏهن اسان ٻيهر ايئن ڪريون ته بيشڪ اسان ظالم آهيون. خدا چوندو ته پري ٿيو، ان ئي ۾ پيا رهو ۽ مون سان نه ڳالهايو. ١٠٥-١٠٨

---

آخرت جا منظر اکين سان ڏسي وٺڻ کان پوءِ ڪنهن کي اهو موقعو نه ڏنو ويندو جو هو ٻيهر موجوده دنيا ۾ اچي رهي ۽ صحيح عمل جو ثبوت ڏي. ڇاڪاڻ ته دنيا جي زندگي جو مقصد امتحان آهي، ان ڳالهه جو امتحان ته ماڻهو ڏسڻ کان سواءِ جهڪي ٿو يا نه. جڏهن آخرت جو مشاهدو ڪرائي ڇڏجي ته ان کان پوءِ نه جهڪڻ جي ڪا قيمت آهي ۽ نه وري واپس موٽي وڃڻ جو ڪو امڪان.

ماڻهو جو امتحان ڏسي مڃڻ ۾ نه آهي. بلڪ سوچي مڃڻ ۾ آهي. شاگرد جي جانچ پرچو آئوٽ ٿيڻ کان پهرين ڪئي ويندي آهي، جڏهن پرچو آئوٽ ٿي اخبارن ۾ ڇپجي وڃي، ان کان پوءِ ڪنهن شاگرد جي جانچ ڪرڻ جو ڪو سوال ئي نه آهي.

اِنَّهٗ كَانَ فَرِيۡقٌ مِّنۡ عِبَادِىۡ يَقُوۡلُوۡنَ رَبَّنَاۤ اٰمَنَّا فَاغۡفِرۡ لَنَا وَ ارۡحَمۡنَا وَ اَنۡتَ خَيۡرُ
الرّٰحِمِيۡنَ ۚ﴿۱۰۹﴾ فَاتَّخَذۡتُمُوۡهُمۡ سِخۡرِيًّا حَتّٰۤى اَنۡسَوۡكُمۡ ذِكۡرِىۡ وَ كُنۡتُمۡ مِّنۡهُمۡ
تَضۡحَكُوۡنَ ﴿۱۱۰﴾ اِنِّىۡ جَزَيۡتُهُمُ الۡيَوۡمَ بِمَا صَبَرُوۡۤا ۙ اَنَّهُمۡ هُمُ الۡفَآئِزُوۡنَ ﴿۱۱۱﴾

منهنجن ٻانهن مان هڪ ٽولو هو جيڪو چوندو هو تہ اي اسان جا رب! اسان ايمان آندو پوءِ تون اسان کي بخش ڪر ۽ اسان تي رحم فرما ۽ تون سڀني کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو آهين. پوءِ توهان انهن کي مذاق ٺٽائي ورتو، ايستائين جو انهن جي پويان توهان اسان جي ياد وساري ڇڏي ۽ توهان انهن تي کلندا رهيا. مون انهن کي اڄ سندن صبر جو بدلو ڏنو، تہ اهي ئي آهن ڪامياب ٿيڻ وارا. ۱۰۹-۱۱۱

---

دنيا جي زندگي ۾ جڏهن تہ اجا آخرت جون حقيقتون اکين جي سامهون نہ آيون آهن. ان وقت الله تعاليٰ جي ڪجهہ ٻانهن الله کي ان جي جلال ۽ ڪمال سان سڃاتو، انهن جي سامهون حق جي دعوت صرف دليل جي سطح تي پيش ڪئي وئي، ان جي باوجود انهن ان تي يقين ڪيو. اهي ان جي باري ۾ ان حد تائين سنجيده ٿي ويا جو ان ئي دعوت کي پنهنجي ڪاميابي ۽ ناڪامي جو معيار ٺٽائي ورتو. هڪ اجنبي حق سان پنهنجي ڪامل وابستگي جي انهن کي اها قيمت ڏيڻي پئي جو اهي سماج ۾ مذاق جو موضوع ٺڄي ويا، ان جي باوجود انهن ان حق سان پنهنجي وابستگي کي ختم نہ ڪيو.

اها فڪري استقامت ئي سڀني کان وڏو صبر آهي ۽ آخرت جو انعام ماڻهو کي ان ئي صبر جي قيمت تي ملندو آهي. اهي ئي ماڻهو اصل ۾ ڪامياب آهن، جيڪي موجوده امتحان جي دنيا ۾ ان صبر جو ثبوت ڏئي سگهن.

قٰلَ كَمۡ لَبِثۡتُمۡ فِى الۡاَرۡضِ عَدَدَ سِنِيۡنَ ﴿۱۱۲﴾ قَالُوۡا لَبِثۡنَا يَوۡمًا اَوۡ بَعۡضَ يَوۡمٍ فَسۡـَٔلِ
الۡعَآدِّيۡنَ ﴿۱۱۳﴾ قٰلَ اِنۡ لَّبِثۡتُمۡ اِلَّا قَلِيۡلًا لَّوۡ اَنَّكُمۡ كُنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۱۱۴﴾

ارشاد ٿيندو تہ ورهين جي شمار سان توهان ڪيتري دير زمين ۾ رهيا. هو چوندا تہ اسان هڪ ڏينهن رهياسون يا هڪ ڏينهن کان بہ گهٽ. پوءِ ڳڻيندڙن کان پڇي وٺو. ارشاد ٿيندو تہ توهان ٿوري دير ئي رهيا. ڪاش جو توهين ڄاڻو ها. ۱۱۲-۱۱۴

---

عيش اهوئي آهي جيڪو ابدي هجي، جيڪو عيش ابدي نہ هجي، اهو جڏهن ختم ٿيندو آهي تہ ائين لڳندو آهي تہ اهو بس هڪ لمحو هو جيڪو آيو ۽ گذري ويو.

دنيا جي زندگي ۾ ماڻهو ان حقيقت کان غافل رهندو آهي، پر آخرت ۾ اها حقيقت ان تي آخري حدتائين واضح ٿي ويندي. ان وقت هو ڄاڻيندو پر ان وقت جي ڄاڻڻ جو ڪو فائدو نہ آهي.

دنيا ۾ ماڻهو جي سامهون حق ايندو آهي، پر هو پنهنجي سڪون کي خراب ڪرڻ نہ ٿو چاهي. ان ڪري هو ان کي قبول نہ ٿو ڪري. هو ملڻ واري فائدي جي ڪري مليل فائدي کي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ ٿو ٿئي. هتي جي عزت، هتي جو آرام، هتي جون مصلحتون ان کي ايڏيون تہ قيمتي لڳنديون آهن جو ان جي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي جو هو ڪيئن ائين ڪري تہ نظر ايندڙ ”شيءِ“ کي نظرانداز ڪري، ٻاڻ کي

”ڪجهہ نہ“ سان وابستہ ڪري وٺي، حالانڪ جڏهن عمر جي مهلت پوري ٿيندي تہ سؤ سال بہ ايئن لڳندا
جڻ تہ اُهو بس هڪ ڏينهن هو جيڪو آيو ۽ ختم ٿي ويو.

اَفَحَسِبْتُمْ اَنَّمَا خَلَقْنٰكُمْ عَبَثًا وَّ اَنَّكُمْ اِلَيْنَا لَا تُرْجَعُوْنَ﴿۱۱۵﴾ فَتَعٰلَى اللّٰهُ الْمَلِكُ
الْحَقُّ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ رَبُّ الْعَرْشِ الْكَرِيْمِ﴿۱۱۶﴾ وَ مَنْ يَّدْعُ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ ۙ لَا بُرْهَانَ
لَهٗ بِهٖ ۙ فَاِنَّمَا حِسَابُهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الْكٰفِرُوْنَ﴿۱۱۷﴾ وَ قُلْ رَّبِّ اغْفِرْ وَ ارْحَمْ وَ
اَنْتَ خَيْرُ الرّٰحِمِيْنَ﴿۱۱۸﴾ ع ٦

پوءِ ڇا توهان ڀانئيو ٿا تہ اسان توهان کي بي مقصد پيدا ڪيو آهي ۽ توهين اسان وٽ موٽايا نہ ويندو. پوءِ تمام مٿانهون آهي الله حقيقي بادشاهہ. ان کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي، هو مالڪ آهي عرش عظيم جو ۽ جيڪو شخص الله سان گڏ ڪنهن ٻئي معبود کي پڪاري، جنهن جي حق ۾ ان وٽ ڪو دليل نہ آهي، تہ ان جو حساب ان جي رب وٽ آهي، بيشڪ منڪر ڪاميابي نہ ماڻيندا ۽ چئو تہ اي منهنجا رب! مون کي بخش ڪر ۽ مون تي رحم ڪر. تون بهترين رحم ڪندڙ آهين. ۱۱۵-۱۱۸

---

انسانن ۾ ٻن قسمن جا انسان آهن. ڪو انسان بااصول زندگي گذاري ٿو ۽ ڪو بي اصول. ڪو نظر نہ ايندڙ صداقت جي لاءِ پنهنجي پاڻ کي قربان ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ڪو رڳو ڏسڻ ۾ ايندڙ شين ۾ مشغول رهندو آهي، ڪو حق جي دعوت کي غير مانوس هجڻ جي باوجود قبول ڪري وٺندو آهي ۽ ڪو ان کي نظرانداز ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ان جو مذاق اڏائيندو آهي. ڪو پنهنجي پاڻ کي ظلم کان روڪيندو آهي، رڳو ان لاءِ جو خدا ان کي ايئن ڪرڻ کان منع ڪيو آهي. ڪو موقعو ملندي ئي ٻين لاءِ ظالم بڻجي ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جو نفس ان کي ايئن ئي ڪرڻ لاءِ چئي رهيو آهي.

جيڪڏهن هن دنيا جو ڪو انجام نہ هجي، جيڪڏهن اها اهڙي طرح ئي هلندي رهي ۽ اهڙي طرح ئي آخرڪار ان جو خاتمو ٿي وڃي، تہ ان جو مطلب اهو آهي تہ هي هڪ بي مقصد هنگامي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ هئي. پر ڪائنات جي معنويت ان قسم جي بي معنيٰ نظريي جي ترديد ڪندي آهي، ڪائنات جو اعليٰ نظام ان کان انڪار ڪري ٿو تہ ان جو خالق هڪ غيرسنجيده هستي هجي.

ڪائنات پنهنجي وسيع نظام سان جنهن خالق جو تعارف ڪرائي رهي آهي. اهو هڪ اهڙو خالق آهي جيڪو پنهنجي ذات ۾ آخري حدتائين ڪامل آهي، اهڙي خالق جي باري ۾ ناممڪن آهي تہ هو ٻن مختلف قسم جي انسانن جو انجام هڪ جهڙو ٿيندو ڏسي ۽ ان کي گوارا ڪري وٺي. اهو سراسر ناممڪن آهي، بيشڪ ايئن ٿيڻ وارو آهي تہ ڪائنات جو مالڪ هڪ جماعت کي بي قيمت ڪري ڇڏي، جهڙي طرح انهن حق کي بي قيمت ڪيو ۽ ٻي جماعت جي قدرداني ڪري، جهڙي طرح انهن حق جي قدرداني ڪئي.

اٰيَاتُهَا ٦٤ (٢٤) سُوۡرَةُ النُّوۡرِ مَدَنِيَّةٌ (١٠٢) رُكُوۡعَاتُهَا ٩

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ
سُوۡرَةٌ اَنۡزَلۡنٰهَا وَ فَرَضۡنٰهَا وَ اَنۡزَلۡنَا فِيۡهَاۤ اٰيٰتٍۭ بَيِّنٰتٍ لَّعَلَّكُمۡ تَذَكَّرُوۡنَ ﴿١﴾ اَلزَّانِيَةُ وَ
الزَّانِيۡ فَاجۡلِدُوۡا كُلَّ وَاحِدٍ مِّنۡهُمَا مِائَةَ جَلۡدَةٍ ۪ وَّ لَا تَاۡخُذۡكُمۡ بِهِمَا رَاۡفَةٌ فِيۡ دِيۡنِ اللّٰهِ
اِنۡ كُنۡتُمۡ تُؤۡمِنُوۡنَ بِاللّٰهِ وَ الۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ ۚ وَ لۡيَشۡهَدۡ عَذَابَهُمَا طَآئِفَةٌ مِّنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿٢﴾
اَلزَّانِيۡ لَا يَنۡكِحُ اِلَّا زَانِيَةً اَوۡ مُشۡرِكَةً ۫ وَّ الزَّانِيَةُ لَا يَنۡكِحُهَاۤ اِلَّا زَانٍ اَوۡ مُشۡرِكٌ ۚ وَ
حُرِّمَ ذٰلِكَ عَلَى الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿٣﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

هي هڪ سورت آهي جنهن کي اسان نازل ڪيو آهي ۽ ان کي اسان فرض ڪيو آهي ۽ ان ۾ اسان پڌريون آيتون نازل ڪيون آهن، ته جيئن اوهان نصيحت وٺو. زاني عورت ۽ زاني مرد پنهي مان هر هڪ کي سؤ ڪوڙا هڻو ۽ توهان کي انهن پنهي تي الله جي دين جي معاملي ۾ رحم نه اچڻ گهرجي. جيڪڏهن توهان الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکو ٿا ۽ گهرجي ته پنهي جي سزا جي وقت مسلمانن جي هڪ جماعت موجود رهي. زنا ڪندڙ مرد نڪاح نه ڪري زنا ڪندڙ عورت سان يا مشرڪياڻي سان ۽ زنا ڪندڙ عورت سان نڪاح نه ڪري پر زاني مرد يا مشرڪ ۽ اهو حرام ڪيو ويو اهل ايمان تي. ١-٣

---

سورة نور غزوه بني المصطلق کان پوءِ سن ٦ هجري ۾ نازل ٿي. ان غزوه ۾ هڪ معمولي واقعو پيش آيو. ان کي شوشو بڻائي مديني جي منافقن حضرت عائشه رضي الله عنها ۽ رسول الله ﷺ کي بدنام ڪرڻ شروع ڪيو. هن سورة ۾ هڪ پاسي حضرت عائشه رضي الله عنها کي مڪمل طور تي (تهمت) کان آجو قرار ڏنو ويو ۽ ٻئي پاسي اهي خاص حڪم ڏنا ويا جيڪي معاشري ۾ اهڙي قسم جي صورتحال پيش اچڻ کان پوءِ نافذ ڪرڻ گهرجن.

اسلامي قانون ۾ زنا بيحد سنگين جرم آهي. جيئن ته اسلامي قانون ٻن قسمن جي انسانن ۾ فرق ڪندو آهي. هڪ اهو جنهن جي لاءِ جائز جنسي تعلق جا موقعا موجود هجن، ان جي باوجود هو ناجائز تعلق قائم ڪري. ٻيو اهو جنهن کي اجا جائز جنسي تعلق جو موقعو حاصل نه ٿيو هجي.

”زاني مرد ۽ زاني عورت کي سؤ ڪوڙا هڻو“. اهو زنا قبل احصان جي سزا آهي. يعني اهي زاني مرد يا زاني عورتون جن جو نڪاح ٿيل نه هجي ان جي مقابلي ۾ زنا بعد احصان (شادي شده هئڻ کان پوءِ زنا جو ارتڪاب) جي سزا رجم آهي، يعني مجرم کي پٿر هڻي هلاڪ ڪري ڇڏڻ. رجم جو حڪم قرآن (المائده ٤٣) ۾ اشاري طور ۽ حديث ۾ واضح طور تي موجود آهي.

عوام جي سامهون سزا ڏيڻ اصل ۾ سزا ۾ عبرت جو پهلو شامل ڪرڻ آهي، ان جو مقصد اهو آهي ته حال جي مجرم جو انجام ڏسي مستقبل جا مجرم خوفزده ٿي وڃن ۽ اهڙي قسم جو جرم ڪرڻ کان باز رهن.

زاني مرد ۽ زاني عورت جيڪڏهن سزا کان پوءِ توبهه ۽ اصلاح ڪري وٺن ته اهي ٻيهر عام مسلمانن وانگر ٿي ويندا. پر جيڪڏهن اهي توبهه ۽ اصلاح نه ڪن ته ان کان پوءِ اهي ان قابل نه ٿا رهن ته اسلامي معاشري ۾ انهن کي رشتي ۽ تعلق جي لاءِ قبول ڪري سگهجي.

وَ الَّذِيۡنَ يَرۡمُوۡنَ الۡمُحۡصَنٰتِ ثُمَّ لَمۡ يَاۡتُوۡا بِاَرۡبَعَةِ شُهَدَآءَ فَاجۡلِدُوۡهُمۡ ثَمٰنِيۡنَ جَلۡدَةً وَّ لَا تَقۡبَلُوۡا لَهُمۡ شَهَادَةً اَبَدًا ۚ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الۡفٰسِقُوۡنَ ﴿٤﴾ اِلَّا الَّذِيۡنَ تَابُوۡا مِنۡۢ بَعۡدِ ذٰلِكَ وَ اَصۡلَحُوۡا ۚ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿٥﴾

۽ جيڪي ماڻهو پاڪ دامن عورتن تي تهمت لڳائن، پوءِ چار شاهد نه آڻين ته انهن کي اسي ڪوڙا هڻو ۽ سندن شاهدي ڪڏهن قبول نه ڪريو. اهي ئي ماڻهو نافرمان آهن. پر جيڪي ماڻهو ان کان پوءِ توبهه ڪن ۽ اصلاح ڪري وٺن ته الله بخشڻ وارو مهربان آهي. ٤-٥

---

زنا کي سخت جرم قرار ڏيڻ جو فطري تقاضو اهو آهي ته غير زاني تي زنا جو الزام لڳائڻ به سخت جرم هجي. تنهن ڪري اهو حڪم ڏنو ويو ته جيڪو ماڻهو ڪنهن تي زنا جو الزام لڳائي ۽ پوءِ ان کي شرعي قاعدي مطابق ثابت نه ڪري سگهي، ان کي اسي ڪوڙا هنيا وڃن. وڌيڪ اهو ته اهڙي ماڻهو کي هميشه لاءِ شاهدي لاءِ نااهل قرار ڏنو وڃي. ايستائين جو حنفين وٽ توبهه کان پوءِ به ان جي گواهي معاملن ۾ قبول نه ڪئي ويندي. ڪنهن ماڻهو تي ڪوڙو الزام لڳائڻ ان کي اخلاقي طور قتل ڪرڻ جي ڪوشش آهي. اهڙي جرم تي اسلام ۾ سخت سزائون مقرر ڪيون ويون آهن ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو دنيا ۾ سزا پائڻ کان بچي وڃي، تڏهن به هو آخرت جي سزا کان بچي نه ٿو سگهي. سواءِ ان جي جو هو توبهه ڪري ۽ الله کان معافي جو طلبگار ٿئي.

وَ الَّذِيۡنَ يَرۡمُوۡنَ اَزۡوَاجَهُمۡ وَ لَمۡ يَكُنۡ لَّهُمۡ شُهَدَآءُ اِلَّاۤ اَنۡفُسُهُمۡ فَشَهَادَةُ اَحَدِهِمۡ اَرۡبَعُ شَهٰدٰتٍۭ بِاللّٰهِ ۙ اِنَّهٗ لَمِنَ الصّٰدِقِيۡنَ ﴿٦﴾ وَ الۡخَامِسَةُ اَنَّ لَعۡنَتَ اللّٰهِ عَلَيۡهِ اِنۡ كَانَ مِنَ الۡكٰذِبِيۡنَ ﴿٧﴾ وَ يَدۡرَؤُا عَنۡهَا الۡعَذَابَ اَنۡ تَشۡهَدَ اَرۡبَعَ شَهٰدٰتٍۭ بِاللّٰهِ ۙ اِنَّهٗ لَمِنَ الۡكٰذِبِيۡنَ ﴿٨﴾ وَ الۡخَامِسَةَ اَنَّ غَضَبَ اللّٰهِ عَلَيۡهَاۤ اِنۡ كَانَ مِنَ الصّٰدِقِيۡنَ ﴿٩﴾ وَ لَوۡ لَا فَضۡلُ اللّٰهِ عَلَيۡكُمۡ وَ رَحۡمَتُهٗ وَ اَنَّ اللّٰهَ تَوَّابٌ حَكِيۡمٌ ﴿١٠﴾ ع

۽ جيڪي ماڻهو پنهنجن زالن تي تهمت لڳائين ۽ انهن وٽ ڪين پاڻ کان سواءِ ٻيا شاهد نه هجن ته اهڙي ماڻهو جي شاهدي جي صورت اها آهي ته هو چار ڀيرا الله جو قسم کڻي چئي ته بيشڪ هو سچو آهي ۽ پنجين دفعا اهو چئي ته ان تي الله جي لعنت هجي، جيڪڏهن هو ڪوڙو هجي ۽ عورت کان سزا اهڙي طرح ٽري ويندي جو هو چار ڀيرا الله جو قسم کڻي چئي ته هي ماڻهو ڪوڙو آهي ۽ پنجين دفعا هي چوي ته مون تي الله جو غضب هجي، جيڪڏهن اهو ماڻهو سچو هجي ۽ جيڪڏهن توهان تي الله جو فضل ۽ ان جي رحمت نه هجي ها ۽ اهو ته الله توبهه قبول ڪرڻ وارو حڪمت وارو آهي. ٦-١٠

---

ان سلسلي ۾ هڪ مسئلو اهو آهي ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي زال تي بيحيائي جو الزام لڳائي ۽ ان وٽ خود پنهنجي بيان کان سواءِ ڪو اڪين ڏٺو شاهد موجود نه هجي، ته ان جو فيصلو ڪهڙي طرح ٿيندو. جواب اهو آهي ته ان صورت ۾ معاملي جو فيصلو قسم جي ذريعي ڪيو ويندو. جنهن کي شرعي اصطلاح ۾ لعان چيو ويندو آهي.

جيڪڏهن مرد مقرر طريقي تي قسم کڻي وٺي ۽ عورت خاموش رهي ته مرد جي بيان کي مڃي عورت تي مٿي ذڪر ڪيل سزا نافذ ڪئي ويندي ۽ جيڪڏهن ايئن ٿئي جو عورت به مٿي ذڪر ڪيل طريقي تي قسم کڻي چئي ته هو بي قصور آهي ته پوءِ ان کي سزا نه ڏني ويندي، البته ان کان پوءِ ٻنهي جي وچ ۾ عليحدگي ڪرائي ڇڏبي.

سماج جا معاملا بيحد پيچيده هوندا آهن. انهن معاملن ۾ انسان جڏهن قانون سازي ڪندو آهي ته هو هڪ پهلو ڏانهن جهڪي ٻئي پهلو کي نقصان پهچائيندو آهي. الله جي قانون ۾ سڀني پهلوئن جي ڪامل رعايت آهي. ان لحاظ کان الله جو قانون انسان لاءِ تمام وڏي رحمت آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ جَآءُوْ بِالْاِفْكِ عُصْبَةٌ مِّنْكُمْ ؕ لَا تَحْسَبُوْهُ شَرًّا لَّكُمْ ؕ بَلْ هُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ؕ لِكُلِّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ مَّا اكْتَسَبَ مِنَ الْاِثْمِ ۚ وَ الَّذِيْ تَوَلّٰى كِبْرَهٗ مِنْهُمْ لَهٗ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿١١﴾

جن ماڻهن ڪوڙو بهتان آندو، سا توهان مان هڪ جماعت آهي. توهان ان کي پنهنجي حق ۾ برو نه سمجهو، بلڪ هي توهان لاءِ بهتر آهي. انهن مان هر ماڻهو لاءِ اهو آهي جيترو ان گناهه ڪمايو ۽ جنهن ان ۾ سڀني کان وڏو حصو ورتو، ان لاءِ وڏو عذاب آهي. ١١

---

داعي جيڪڏهن حقيقت ۾ سچائي تي آهي ته ان جي خلاف ڪوڙي پروپيگنڊا هميشه ان جي حق ۾ فائدي مند ثابت ٿيندي آهي، ڇاڪاڻ ته ڪوڙين پروپيگنڊائن جي حقيقت آخرڪار پڌري ٿي ويندي ۽ جڏهن حقيقت کلندي آهي ته هڪ پاسي داعي جو حق تي هجڻ وڌيڪ واضح ٿي ويندو آهي ۽ جيڪي ماڻهو ان جي باري ۾ شڪ ۾ هوندا آهن. اهي ان کان پوءِ يقين جي درجي تائين پهچي ويندا آهن. اهي عملاً ڏسي وٺندا آهن ته اعليٰ حق جي داعي جي مخالفن وٽ ڪوڙي الزام ۽ بي بنياد بهتان کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي.

حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها جي خلاف الزام ۾ سڀني کان وڏو حصو وٺڻ وارو مشهور منافق عبدالله بن ابي هو. ان لاءِ قرآن ۾ آخرت جي سخت عذاب جو اعلان ڪيو ويو، پر دنيا ۾ ان کي ڪا سزا نه ڏني وئي، ايستائين جو هو پنهنجي طبعي موت مئو. واقعي کان پوءِ حضرت عمر رضي الله عنه رسول الله صلي الله عليه وسلم کي چيو ته هن شخص کي قتل ڪري ڇڏجي، پاڻ فرمايو: اي عمر! پوءِ ڇا ٿيندو جڏهن ماڻهو چوندا ته محمد صلي الله عليه وسلم پنهنجن ساٿين کي قتل ڪرائيندا آهن. (فکيف يا عمر اذا تحدث الناس ان محمدا يقتل اصحابه) ان مان اندازو ٿيندو آهي ته ڪڏهن ڪڏهن حڪمت جو تقاضو اهو هوندو آهي ته وڏن وڏن مجرمن کي به دنيا ۾ سزا نه ڏني وڃي، بلڪ انهن جي معاملي کي آخرت تي ڇڏي ڏجي.

لَوْ لَآ اِذْ سَمِعْتُمُوْهُ ظَنَّ الْمُؤْمِنُوْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتُ بِاَنْفُسِهِمْ خَيْرًا ۙ وَّ قَالُوْا هٰذَآ اِفْكٌ
مُّبِيْنٌ ﴿١٢﴾ لَوْ لَا جَآءُوْ عَلَيْهِ بِاَرْبَعَةِ شُهَدَآءَ ۚ فَاِذْ لَمْ يَاْتُوْا بِالشُّهَدَآءِ فَاُولٰٓئِكَ عِنْدَ
اللّٰهِ هُمُ الْكٰذِبُوْنَ ﴿١٣﴾

جڏهن توهان اهو ٻڌو ته مسلمان مردن ۽ مسلمان عورتن هڪ ٻئي جي بابت نيڪ گمان ڇو نه ڪيو ۽ ڇو نه چيائون ته اهو پڌرو بهتان آهي. اهي ماڻهو ان تي چار شاهد ڇو نه وٺي آيا، پوءِ جڏهن انهن شاهد نه آندا ته الله وٽ اهي ڪوڙا آهن. ١٢-١٣

---

هڪ مسلمان تي ٻئي مسلمان جو اهو حق آهي ته اهو ان جي باري ۾ هميشه نيڪ گمان ڪري. ٻئي جي باري ۾ بدگماني ڪرڻ خود پنهنجي بدنيتي جو ثبوت آهي ۽ ٻئي جي باري ۾ نيڪ گمان ڪرڻ خود پنهنجي نيڪ نيتي جو ثبوت.

صحيح طريقو اِهو آهي ته جڏهن به ڪو شخص ڪنهن جي باري ۾ بري خبر ڏي ته فوراً ان کان ثبوت جو مطالبو ڪيو وڃي. جيڪو ماڻهو ٻڌي، اُهو رڳو ٻڌي ان کي دهرائڻ نه لڳي، بلڪ هو خبر ڏيڻ واري کي چئي ته جيڪڏهن تون سچو آهين ته شريعت جي مطابق شاهد آڻ. جيڪڏهن هو گواهه آڻي ته ان جي ڳالهه قابل قبول ٿي سگهي ٿي ۽ جيڪڏهن هو پنهنجي ڳالهه جي حق ۾ گواهه نه آڻي ته هو پاڻ سيني کان وڏو مجرم آهي، ڇاڪاڻ ته ڪنهن ماڻهو کي به اهو حق نه آهي جو هو ڪنهن ثبوت کان سواءِ ڪنهن تي عيب لڳائي.

وَ لَوْ لَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَ رَحْمَتُهٗ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ لَمَسَّكُمْ فِيْ مَآ اَفَضْتُمْ فِيْهِ
عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿١٤﴾ ۚۖ اِذْ تَلَقَّوْنَهٗ بِاَلْسِنَتِكُمْ وَ تَقُوْلُوْنَ بِاَفْوَاهِكُمْ مَّا لَيْسَ لَكُمْ بِهٖ عِلْمٌ
وَّ تَحْسَبُوْنَهٗ هَيِّنًا ۖ وَّ هُوَ عِنْدَ اللّٰهِ عَظِيْمٌ ﴿١٥﴾ وَ لَوْ لَآ اِذْ سَمِعْتُمُوْهُ قُلْتُمْ مَّا يَكُوْنُ لَنَآ
اَنْ نَّتَكَلَّمَ بِهٰذَا ۖ سُبْحٰنَكَ هٰذَا بُهْتَانٌ عَظِيْمٌ ﴿١٦﴾ يَعِظُكُمُ اللّٰهُ اَنْ تَعُوْدُوْا لِمِثْلِهٖٓ اَبَدًا
اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٧﴾ ۚ وَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ ۭ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿١٨﴾

۽ جيڪڏهن توهان تي دنيا ۽ آخرت ۾ الله جو فضل ۽ ان جي رحمت نه هجي ها ته جن ڳالهين ۾ توهان پئجي ويا هئا، اُن جي ڪري توهان تي ڪا وڏي آفت اچي وڃي ها. جڏهن توهان ان کي پنهنجن زبانن سان پچاري رهيا هئا ۽ پنهنجي واتان اهڙي ڳالهه چئي رهيا هئا جنهن جو توهان کي ڪو علم نه هو ۽ توهان ان کي هڪ معمولي ڳالهه سمجهي رهيا هئا. حالانڪ اها الله وٽ تمام ڳري ڳالهه آهي ۽ جڏهن توهان ان کي ٻڌو ته ايئن ڇو نه چيو ته اسان کي اهو چوڻ نه ٿو جڳائي جو اسان اهڙي ڳالهه پنهنجي واتان ڪيون. تنهنجي پاڪائي بيان ڪريون ٿا، هي وڏو بهتان آهي. الله توهان کي نصيحت ڪري ٿو ته وري ڪڏهن ايئن نه ڪجو جيڪڏهن توهان مؤمن آهيو. الله توهان لاءِ واضح حڪم بيان ڪري ٿو ۽ الله ڄاڻڻ وارو حڪمت وارو آهي. ١٤-١٨

---

رسول الله ﷺ جي حيثيت حق جي داعي جي هئي. حق جي داعي جو معاملو بيحد نازڪ معاملو

هوندو آهي. ڪردار جي هڪ غلطي ان جي سڄي مشن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندي آهي. اهڙي حالت ۾ جن ماڻهن ايئن ڪيو جو هڪ اسلامي خاتون جي باري ۾ هڪ بي بنياد ڳالهه ٻڌي ان کي هيڏانهن هوڏانهن بيان ڪرڻ لڳا. انهن سخت غيرذميداري جو ثبوت ڏنو. جيڪڏهن الله تعاليٰ جي خاص مدد سان ان الزام جي بروقت ترديد نہ ڪئي وڃي ها تہ اها غلطي اسلام کي ناقابل تلافي نقصان پهچائڻ جو سبب بڻجي وڃي ها. ان جي نتيجي ۾ اهو سڄو اسلامي معاشرو بدگمانين جو شڪار ٿي وڃي ها. مسلمان ٽن ٽولن ۾ ورهائجي پاڻ ۾ وڙهن ها، جنهن جماعت لاءِ الله تعاليٰ جو منصوبو اهو هو تہ ان جي ذريعي شرڪ جو عالمي غلبو ختم ڪيو وڃي، اها جماعت پاڻ ۾ وڙهي خود پاڻ کي ختم ڪري ڇڏي ها.

اِنَّ الَّذِيۡنَ يُحِبُّوۡنَ اَنۡ تَشِيۡعَ الۡفَاحِشَةُ فِى الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ۙ فِى الدُّنۡيَا
وَالۡاٰخِرَةِ ؕ وَاللّٰهُ يَعۡلَمُ وَاَنۡتُمۡ لَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿١٩﴾ وَلَوۡ لَا فَضۡلُ اللّٰهِ عَلَيۡكُمۡ وَرَحۡمَتُهٗ وَاَنَّ
اللّٰهَ رَءُوۡفٌ رَّحِيۡمٌ ﴿٢٠﴾ ع

بيشڪ جيڪي مسلمانن ۾ بيحيائي جي (تهمت) پکڙجڻ کي پسند ڪن ٿا، انهن لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ دردناڪ سزا آهي ۽ الله ڄاڻي ٿو ۽ توهان نٿا ڄاڻو ۽ جيڪڏهن توهان تي الله جو فضل ۽ ان جي رحمت نہ هجي ها ۽ الله نرمي ڪرڻ وارو رحمت ڪرڻ وارو آهي. ١٩-٢٠

---

هن آيت ۾ ”فاحشہ“ جي اشاعت مان مراد ان شيءِ جي اشاعت آهي، جنهن کي مٿي آيت نمبر ١١ ۾ اُفڪ چيو ويو آهي. يعني ڪنهن جي خلاف بي بنياد الزام لڳائڻ ۽ ان کي ماڻهن ۾ ڦهلائڻ.

ڳالهه ڪرڻ جا ٻہ طريقا آهن. هڪ اهو تہ ماڻهو صرف اها ڳالهه پنهنجي منهن مان ڪڍي جنهن جي حق ۾ ان وٽ ڪو مضبوط دليل هجي، جيڪا شرعي طور تي ثابت ڪري سگهجي. ٻيو طريقو اهو آهي تہ ڪنهن حقيقي بنياد کان سواءِ خود پنهنجي ذهن مان ڳالهه گهڙي وٺڻ ۽ ان کي ماڻهن ۾ بيان ڪرڻ. پهريون طريقو جائز طريقو آهي ۽ ٻيو طريقو سراسر ناجائز طريقو آهي.

عام طور تي ايئن ٿيندو آهي تہ پنهنجي مخالف جي باري ۾ ڪا ڳالهه هجي تہ ماڻهو ان جي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي ضرورت نہ ٿو سمجهي، هو ڪنهن بحث کان سواءِ ان کي مڃي وٺندو آهي ۽ ٻين سان ان کي بيان ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيندو آهي. اهو نہ صرف غيرذميداراڻو فعل آهي، بلڪ اهو تمام وڏو جرم آهي. اهو دنيا ۾ بہ سزا جي قابل آهي ۽ آخرت ۾ بہ.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تَتَّبِعُوۡا خُطُوٰتِ الشَّيۡطٰنِ ؕ وَمَنۡ يَّتَّبِعۡ خُطُوٰتِ الشَّيۡطٰنِ فَاِنَّهٗ
يَاۡمُرُ بِالۡفَحۡشَآءِ وَالۡمُنۡكَرِ ؕ وَلَوۡ لَا فَضۡلُ اللّٰهِ عَلَيۡكُمۡ وَرَحۡمَتُهٗ مَا زَكٰى مِنۡكُمۡ مِّنۡ
اَحَدٍ اَبَدًا ۙ وَّلٰكِنَّ اللّٰهَ يُزَكِّىۡ مَنۡ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيۡعٌ عَلِيۡمٌ ﴿٢١﴾

اي ايمان وارو! توهان شيطان جي قدمن تي نہ هلو ۽ جيڪو شخص شيطان جي قدمن تي هلندو تہ هو ان کي بيحيائي ۽ بدي ئي جا ڪم ڪرڻ لاءِ چوندو ۽ جيڪڏهن توهان تي الله جو فضل ۽ ان جي رحمت نہ هجي ها تہ

توهان مان ڪو شخص پاڪ نہ ٿي سگهي ها. پر الله جنهن کي چاهي ٿو پاڪ ڪري ٿو ۽ الله ٻڌڻ وارو ڄاڻڻ وارو آهي. ٢١

---

شيطان جي قدمن تي هلڻ اهو آهي تہ ماڻهو شيطاني وسوسن جي پيروي ڪرڻ لڳي، هڪ بي بنياد ڳالهہ تي جڏهن ڪنهن جي اندر بدگماني جا جذبا پيدا ٿيندا آهن تہ اهو هڪ شيطاني وسوسو هوندو آهي. پنهنجي مخالف جي باري ۾ جڏهن ماڻهو جي اندر منفي خيال پيدا ٿيندا آهن تہ اهو بہ اصل ۾ شيطان هوندو آهي. جيڪو ان جي دل ۾ هلندو آهي. اهڙا جذبا ۽ خيال جڏهن ڪنهن جي اندر پيدا ٿين تہ ان کي گهرجي تہ هو اندر ئي اندر ۾ انهن کي ڪچلي ڇڏي، نہ وري اهو تہ انهن جي پيروي ڪرڻ لڳي. اهڙن احساسن جي پيروي ڪرڻ شيطان جي پيروي ڪرڻ آهي.

ٻين جي خلاف طوفان ڪڙو ڪرڻ هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو عاجزي جي خلاف آهي. عام طور تي ايئن ٿيندو آهي تہ ماڻهو پنهنجي باري ۾ ضرورت کان وڌيڪ خوش فهمي ۾ مبتلا هوندو آهي ۽ ٻئي جي باري ۾ ضرورت کان وڌيڪ بدگمان، اهي ٻئي ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي ايمان سان مطابقت نہ ٿيون رکن. جيڪڏهن ماڻهو جي اندر ايماني عاجزي پيدا ٿي وڃي تہ هو پنهنجي احتساب ۾ ايترو گهڻو مشغول هوندو آهي جو ان کي فرصت ئي نہ هوندي جو هو ٻئي جي احتساب لاءِ سوچي.

وَ لَا يَأْتَلِ اُولُوا الْفَضْلِ مِنْكُمْ وَ السَّعَةِ اَنْ يُّؤْتُوْٓا اُولِي الْقُرْبٰى وَ الْمَسٰكِيْنَ وَ الْمُهٰجِرِيْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۖ وَ لْيَعْفُوْا وَ لْيَصْفَحُوْا ؕ اَلَا تُحِبُّوْنَ اَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٢﴾

۽ توهان مان جيڪي ماڻهو فضل وارا ۽ آسوده آهن، اُهي ان ڳالهہ جو قسم نہ کڻن جو هو پنهنجن مائٽن ۽ مسڪينن ۽ الله تعاليٰ جي راهہ ۾ هجرت ڪرڻ وارن کي نہ ڏيندا ۽ گهرجي تہ هو معاف ڪري ڇڏين ۽ درگذر ڪن. ڇا توهان نہ ٿا چاهيو تہ الله توهان کي معاف ڪري ۽ الله بخشڻ وارو مهربان آهي. ٢٢

---

حضرت عائشہ رضي الله عنها جي خلاف طوفان ڪڙو ڪرڻ وارن مان هڪ مسطح بن اُثاثہ هو. هو هڪ مفلس مهاجر هو ۽ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جو پري جو مائٽ هو، حضرت ابوبڪر رضي الله عنه مدد طور ان کي ڪجهہ رقم ڏيندا هئا، حضرت عائشہ رضي الله عنها ابوبڪر رضي الله عنه جي نياڻي هئي. قدرتي طور تي حضرت ابوبڪر رضي الله عنه کي مستح بن اثاثہ جي عمل کان تڪليف پهتي، پاڻ قسم کڻي ورتائون تہ هو آئنده مسطح جي ڪا بہ مدد نہ ڪندا.

اسلام ۾ محتاجن جي مدد سندن محتاجي جي بنياد تي ٿيندي آهي نہ وري ڪنهن ٻي بنياد تي. تنهن ڪري قرآن ۾ اهو حڪم نازل ٿيو تہ توهان مان جيڪي ماڻهو مالدار آهن، اهي ذاتي شڪايت جي ڪري مفلس ماڻهن جي امداد بند نہ ڪن، ڇا توهان نہ ٿا چاهيو تہ الله تعاليٰ توهان کي معاف ڪري، جيڪڏهن توهان پنهنجي لاءِ الله تعاليٰ کان معافي جا اميدوار آهيو تہ توهان کي بہ ٻين جي باري ۾ معافي جو طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي. اها آيت ٻڌي حضرت ابوبڪر رضي الله عنه چيو بلي والله انا نحب ان تغفرلنا يا ربنا (ها خدا جو قسم اسان چاهيون ٿا. اي اسان جا رب! جو تون اسان کي معاف ڪرين) ۽ ٻيهر مسطح جي امداد جاري ڪري ڇڏي.

مؤمن جي نظر ۾ سيني ڪان وڌيڪ اهميت الله جي حڪم جي هوندي آهي، الله تعاليٰ جو حڪم سامهون ايندي ئي هو فوراً جهڪي ويندو آهي، چاهي الله تعاليٰ جو حڪم ان جي خواهش جي سراسر خلاف ڇو نه هجي.

اِنَّ الَّذِيۡنَ يَرۡمُوۡنَ الۡمُحۡصَنٰتِ الۡغٰفِلٰتِ الۡمُؤۡمِنٰتِ لُعِنُوۡا فِي الدُّنۡيَا وَ الۡاٰخِرَةِ ۪ وَ لَهُمۡ عَذَابٌ عَظِيۡمٌ ﴿ۙ۲۳﴾ يَّوۡمَ تَشۡهَدُ عَلَيۡهِمۡ اَلۡسِنَتُهُمۡ وَ اَيۡدِيۡهِمۡ وَ اَرۡجُلُهُمۡ بِمَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿۲۴﴾ يَوۡمَئِذٍ يُّوَفِّيۡهِمُ اللّٰهُ دِيۡنَهُمُ الۡحَقَّ وَ يَعۡلَمُوۡنَ اَنَّ اللّٰهَ هُوَ الۡحَقُّ الۡمُبِيۡنُ ﴿۲۵﴾

بيشڪ جيڪي ماڻهو پاڪ دامن بي خبر ايمان وارين عورتن تي تهمت لڳائيندا آهن، انهن تي دنيا ۽ آخرت ۾ لعنت ڪئي وئي ۽ انهن لاءِ وڏو عذاب آهي. ان ڏينهن جڏهن ته سندن زبانون انهن جي خلاف گواهي ڏينديون ۽ انهن جا هٿ ۽ انهن جا پير به. انهن ڪمن تي جيڪي اُهي ماڻهو ڪندا هئا. ان ڏينهن الله انهن کي پورو پورو بدلو ڏيندو ۽ اهي ڄاڻي وٺندا ته الله ئي حق آهي ۽ پڌرو ڪندڙ آهي. ٢٣-٢٥

---

انسان پنهنجي زبان سان ٻين جي خلاف برا لفظ ڳالهائيندو آهي. پر هو نه ٿو ڄاڻي ته ان جي زبان مان نڪرندڙ لفظ ٻين تائين پهچڻ کان پهرين خدا وٽ پهچي رهيا آهن، ماڻهو پنهنجن هٿن ۽ پنهنجن پيرن کي ٻين تي ظلم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندو آهي، پر هو ان کان بيخبر هوندو آهي ته قيامت جڏهن ايندي ته ان جا هٿ ۽ پير سندس هٿ ۽ پير نه رهندا، بلڪ اهي خدا جا گواهه بڻجي ويندا.

اهائي بيخبري سيني براين جي اصل جڙ آهي، جيڪڏهن ماڻهو کي ان حقيقت جو واقعي احساس هجي ته هو اهڙي دنيا ۾ آهي جتي هو هر لمحي الله تعاليٰ جي نگاهه ۾ آهي، جتي ان جو هر عمل خدائي نظام جي تحت ريڪارڊ ٿي رهيو آهي ته ان جي زندگي بلڪل بدلجي ويندي. هو هر لفظ تکي توري پنهنجي زبان مان ڪڍندو. هو پنهنجن هٿن، پيرن جي طاقت کي انتهائي احتياط سان استعمال ڪندو.

اَلۡخَبِيۡثٰتُ لِلۡخَبِيۡثِيۡنَ وَ الۡخَبِيۡثُوۡنَ لِلۡخَبِيۡثٰتِ ۚ وَ الطَّيِّبٰتُ لِلطَّيِّبِيۡنَ وَ الطَّيِّبُوۡنَ لِلطَّيِّبٰتِ ۚ اُولٰٓئِكَ مُبَرَّءُوۡنَ مِمَّا يَقُوۡلُوۡنَ ؕ لَهُمۡ مَّغۡفِرَةٌ وَّ رِزۡقٌ كَرِيۡمٌ ﴿۲۶﴾

پليت زالون پليت مردن لاءِ آهن ۽ پليت مرد پليت زالن لاءِ آهن ۽ پاڪ زالون پاڪ مردن لاءِ آهن ۽ پاڪ مرد پاڪ زالن جي لاءِ. اهي ماڻهو پاڪ آهن انهن ڳالهين کان جيڪي هي چوندا آهن، انهن لاءِ بخشش ۽ عزت جي روزي آهي. ٢٦

---

خبيثات مان مراد خبيث ڪلما آهن ۽ اهڙي طرح طيبات مان مراد طيب ڪلما آهن، مطلب اهو آهي ته رڳو ڪنهن کي برو چوڻ سان ڪو ماڻهو برو نه ٿو ٿي وڃي، ماڻهو خود جهڙو هجي اهڙي ئي ڳالهه ان تي لڳندي آهي. برا ماڻهو جيڪڏهن نيڪ ماڻهن جي باري ۾ بري ڳالهه چون، ته اهڙي ڳالهه آخرڪار خود چوڻ واري تي پوندي آهي ۽ نيڪ ماڻهو ان کان پوري طرح بري ٿي ويندا آهن.

جيڪي ماڻهو پنهنجي ذات ۾ سنا هجن، اهي دنيا ۾ به ڪوڙن الزامن کان بري ٿي رهندا آهن ۽ آخرت ۾ ته سندن بري ٿيڻ بلڪل يقيني آهي. آخرت ۾ انهن کي اڃا وڌيڪ الله جا انعام ملندا، ڇاڪاڻ

تہ انهن جي خلاف ناحق ڳالهيون اصل ۾ ان ڳالهہ جي قيمت هيون جو انهن پنهنجي پاڻ کي ناحق کان ڌار ڪري پنهنجي پاڻ کي پوري طرح حق سان وابستہ ڪري ورتو.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تَدۡخُلُوۡا بُيُوۡتًا غَيۡرَ بُيُوۡتِكُمۡ حَتّٰى تَسۡتَاۡنِسُوۡا وَ تُسَلِّمُوۡا عَلٰٓى اَهۡلِهَا ؕ ذٰلِكُمۡ خَيۡرٌ لَّـكُمۡ لَعَلَّكُمۡ تَذَكَّرُوۡنَ ﴿۲۷﴾ فَاِنۡ لَّمۡ تَجِدُوۡا فِيۡهَاۤ اَحَدًا فَلَا تَدۡخُلُوۡهَا حَتّٰى يُؤۡذَنَ لَـكُمۡ‌ ۚ وَاِنۡ قِيۡلَ لَـكُمُ ارۡجِعُوۡا فَارۡجِعُوۡا‌ هُوَ اَزۡكٰى لَـكُمۡ‌ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ عَلِيۡمٌ ﴿۲۸﴾ لَيۡسَ عَلَيۡكُمۡ جُنَاحٌ اَنۡ تَدۡخُلُوۡا بُيُوۡتًا غَيۡرَ مَسۡكُوۡنَةٍ فِيۡهَا مَتَاعٌ لَّـكُمۡ‌ ؕ وَاللّٰهُ يَعۡلَمُ مَا تُبۡدُوۡنَ وَمَا تَكۡتُمُوۡنَ ﴿۲۹﴾

اي ايمان وارو! توهان پنهنجن گهرن کان سواءِ ٻين جي گهرن ۾ داخل نہ ٿيو. جيستائين اجازت نہ حاصل ڪري وٺو ۽ گهروارن کي سلام نہ ڪري وٺو. اهو توهان لاءِ بهتر آهي تہ جيئن توهان ياد رکو. پوءِ جيڪڏهن اتي ڪنهن کي نہ لهو تہ ان ۾ داخل نہ ٿيو. جيستائين توهان کي اجازت نہ ڏني وڃي ۽ جيڪڏهن توهان کي چيو وڃي موٽي وڃو تہ توهان موٽي وڃو. اهو توهان لاءِ بهتر آهي ۽ الله ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجھ توهان ڪريو ٿا. توهان تي ان ۾ ڪجھ گناهہ نہ آهي تہ توهان انهن گهرن ۾ داخل ٿيو جن ۾ ڪو بہ نہ ٿو رهي، ان ۾ توهان جي فائدي جي ڪا شيءِ هجي ۽ الله ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجھ توهان ظاهر ڪندا آهيو ۽ جيڪو ڪجھ توهان لڪائيندا آهيو. ٢٧-٢٩

---

اجتماعي زندگي ۾ اڪثر ملاقات جي ضرورت پيش ايندي آهي. هاڻي هڪ طريقو اهو آهي تہ ماڻهو اطلاع کان سواءِ ڪنهن وٽ پهچي ۽ اچانڪ ان جي گهر جي اندر داخل ٿي وڃي. اهو طريقو ٻنهي جي لاءِ تڪليف جو سبب آهي. ان ڪري پهرين اجازت وٺڻ کي ملاقات جي آدابن ۾ شامل ڪيو ويو.

جيڪڏهن ممڪن هجي تہ بهتر طريقو اهو آهي تہ پنهنجي گهر کان روانو ٿيڻ کان پهرين صاحب ملاقات سان رابطو قائم ڪيو وڃي ۽ ان سان اڳواٽ ملاقات جو وقت مقرر ڪيو وڃي ۽ پوءِ جڏهن ماڻهو ان جي گهر پهچي تہ اندر داخل ٿيڻ کان اڳ ۾ باقاعده اجازت وٺي. سماجي حالتن جي لحاظ کان ان اجازت جا مختلف طريقا ٿي سگهن ٿا، پر هر طريقي ۾ اسلامي اخلاق جو شرط هئڻ ضروري آهي.

اسلام اجتماعي زندگي جي سيني معاملن کي اعليٰ ظرف جي بنياد تي قائم ڪرڻ چاهي ٿو، اهوئي اعليٰ ظرف ملاقات جي معاملي ۾ بہ گهربل آهي. جيڪڏهن توهان ڪنهن سان ملڻ لاءِ ان جي گهر وڃو ۽ گهر وارو ڪنهن سبب جي ڪري ان وقت ملاقات کان معذرت ڪري تہ توهان کي خوش دلي سان واپس اچي وڃڻ گهرجي، پر اهي اجتماعي جايون ان حڪم کان آجيون آهن، جتي اصولن ماڻهن لاءِ داخلا جي عام اجازت هجي.

قُلْ لِّلۡمُؤۡمِنِيۡنَ يَغُضُّوۡا مِنۡ اَبۡصَارِهِمۡ وَيَحۡفَظُوۡا فُرُوۡجَهُمۡ‌ ؕ ذٰ لِكَ اَزۡكٰى لَهُمۡ‌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيۡرٌۢ بِمَا يَصۡنَعُوۡنَ ﴿۳۰﴾

مؤمن مردن کي چئو تہ هو پنهنجون نگاهون هيٺ رکن ۽ پنهنجن شرمگاهن جي حفاظت ڪن. اهو سندن لاءِ

پاڪائي آهي. بيشڪ الله باخبر آهي ان ڪان جيڪو هو ڪندا آهن. ٣٠

عورت ۽ مرد گهر ۽ سماج ۾ ڪهڙي طرح رهن، ان سلسلي ۾ هتي ٻه اصولي هدايتون ڏنيون ويون آهن. هڪ آهي اوگهڙ کي ڍڪڻ ۽ ٻي نظرن کي هيٺ رکڻ.

مرد جي جسم جو اهو حصو جيڪو ان کي هرحال ۾ ڍڪي رکڻو آهي، اهو دُن ڪان وٺي گوڏن تائين آهي. اها اوگهڙ آهي ۽ ان کي پنهنجي زال کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي سامهون کولڻ جائز نه آهي، پر سواءِ ان جي جو ڪا اهڙي نوبت پيش اچي وڃي، جڏهن ته حرام به حلال ٿي ويندو آهي، مثال طور طبي معائنو وغيره.

ٻي ضروري شيءِ اها آهي ته جڏهن مرد ۽ عورت آمهون سامهون ٿئين ته مردن کي گهرجي ته هو پنهنجون نظرون هيٺ رکن، مرد ۽ عورت جي ملاقات اهڙي طرح بي تڪلف انداز ۾ نه ٿيڻ ڪپي جهڙي طرح مرد هڪ ٻئي سان ملندا آهن. مرد ۽ عورت جي ملاقات ۾ مرد جون نظرون هيٺ رهڻ گهرجن، جيڪڏهن اتفاق سان مرد جي نگاهه ڪنهن اجنبي عورت تي پئجي وڃي ته هو فوراً پنهنجي نظر ان کان هٽائي ڇڏي. هو ڇاٽي واٽي ٻيهر ان ڏانهن نه ڏسي.

نظرن کي هيٺ رکڻ ۽ شرم گاهن جي حفاظت جو جيڪو حڪم مردن لاءِ آهي. اهوئي حڪم عورتن لاءِ به آهي جهڙي ريت آيت (٣١) مان واضح آهي.

وَ قُلْ لِّلْمُؤْمِنٰتِ يَغْضُضْنَ مِنْ اَبْصَارِهِنَّ وَ يَحْفَظْنَ فُرُوْجَهُنَّ وَ لَا يُبْدِيْنَ زِيْنَتَهُنَّ اِلَّا مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَ لْيَضْرِبْنَ بِخُمُرِهِنَّ عَلٰى جُيُوْبِهِنَّ ۪ وَ لَا يُبْدِيْنَ زِيْنَتَهُنَّ اِلَّا لِبُعُوْلَتِهِنَّ اَوْ اٰبَآىِٕهِنَّ اَوْ اٰبَآءِ بُعُوْلَتِهِنَّ اَوْ اَبْنَآىِٕهِنَّ اَوْ اَبْنَآءِ بُعُوْلَتِهِنَّ اَوْ اِخْوَانِهِنَّ اَوْ بَنِيْۤ اِخْوَانِهِنَّ اَوْ بَنِيْۤ اَخَوٰتِهِنَّ اَوْ نِسَآىِٕهِنَّ اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُنَّ اَوِ التّٰبِعِيْنَ غَيْرِ اُولِي الْاِرْبَةِ مِنَ الرِّجَالِ اَوِ الطِّفْلِ الَّذِيْنَ لَمْ يَظْهَرُوْا عَلٰى عَوْرٰتِ النِّسَآءِ ۪ وَ لَا يَضْرِبْنَ بِاَرْجُلِهِنَّ لِيُعْلَمَ مَا يُخْفِيْنَ مِنْ زِيْنَتِهِنَّ ؕ وَ تُوْبُوْۤا اِلَى اللّٰهِ جَمِيْعًا اَيُّهَ الْمُؤْمِنُوْنَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۳۱﴾

۽ مؤمن عورتن کي چؤ ته هو پنهنجون نظرون هيٺ رکن ۽ پنهنجن اوگهڙن جي حفاظت ڪن ۽ پنهنجي زينت کي ظاهر نه ڪن. پر انهن مان جيڪي ظاهر آهن ۽ پنهنجون چادرون پنهنجن سينن تي وجهي ڇڏين ۽ پنهنجي زينت کي ظاهر نه ڪن، سواءِ پنهنجن مڙسن تي يا پنهنجي پيءُ تي يا پنهنجن سُهرن تي يا پٽن تي يا پنهنجي مڙس جي پٽن تي يا پنهنجن ڀائرن تي يا پنهنجي ڀائيٽن تي يا پنهنجن ڀاڻيجن تي يا پنهنجن عورتن تي يا پنهنجن ٻانهن تي يا خدمتگار مرد جيڪي ڪجھ خواهش نه ٿا رکن يا اهڙن ٻارن تي جيڪي عورتن جي پردي جي ڳالهين کان اڃا ناواقف هجن ۽ پنهنجا پير زور سان نه هڻن جو انهن جي لڪيل سونهن ڇاتي وڃي ۽ اي ايمان وارو! توهان سڀ ملي ڪري الله ڏانهن رجوع ڪريو ته جيئن توهان فلاح ماڻيو. ٣١

عورتن جي سلسلي ۾ اسلام جي حڪمن جا ٻہ پهلو آهن. هڪ اهو جنهن جو عنوان ستر آهي ۽ ٻيو اهو جنهن جو عنوان حجاب آهي، ستر جو تعلق جسم جي پردي سان آهي، يعني عورت چاهي گهر ۾ هجي يا گهر کان ٻاهر ان کي پنهنجي بدن جو ڪهڙو حصو ڪنهن جي سامهون ڪهڙين حالتن ۾ کليو رکڻ جائز آهي ۽ ڪڏهن کليو رکڻ جائز نہ آهي.

حجاب جو تعلق ٻاهر جي پردي سان آهي، يعني ان مسئلي سان تہ شريعت عورت کي ڪهڙين حالتن ۾ گهر کان ٻاهر نڪرڻ ۽ سفر ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي. هنن آيتن ۾ بنيادي طور تي ستر جو مسئلو بيان ٿيو آهي. حجاب جو مسئلو اڳيان سورة احزاب ۾ آهي.

”اي ايمان وارو توهان سڀ الله ڏانهن رجوع ڪريو.“ اهي لفظ ٻڌائين ٿا تہ شريعت جي حڪمن جي تڪميل جي سلسلي ۾ سيني کان اهم شي اها آهي تہ دلين جي اندر ان جي آمادگي هجي، اصحاب ڪرام ۽ اصحابياڻيون ان معاملي ۾ آخري معياري درجي تي هئا. حضرت عائشہ رضي الله عنها چوي ٿي تہ خدا جو قسم مون خدا جي ڪتاب جي تصديق ۽ ان جي حڪمن تي ايمان جي معاملي ۾ انصار جي عورتن کان بهتر ڪنهن کي نہ ڏٺو. جڏهن سورة النور جي آيت (وليضربن بخمرهن عليٰ جيوبهن) نازل ٿي تہ انهن جا مرد پنهنجن گهرن ڏانهن موٽيا. انهن پنهنجن عورتن ۽ نياڻين ۽ ڀينرن کي اهو حڪم ٻڌايو جيڪو الله تعاليٰ انهن لاءِ نازل ڪيو هو. پوءِ انصار جي عورتن مان هر عورت فوراً اٿي، ڪنهن پنهنجي چيلهہ تي ٻڌل پٽو کولي ڪري ۽ ڪنهن پنهنجي چادر ڪٽي پنهنجو رئو ٺاهيو ۽ انکي اوڍي ورتو. ٻئي ڏينهن فجر جي نماز انهن رسول الله صلي الله عليه وسلم جي پويان پڙهي تہ رئي جي ڪري ايئن پئي لڳو ڄڻ تہ انهن جي مٿن تي ڪانگ هجن. (تفسير ابن ڪثير، جز الثالث ص ٢٨٤)

وَ اَنۡكِحُوا الۡاَيَامٰى مِنۡكُمۡ وَ الصّٰلِحِيۡنَ مِنۡ عِبَادِكُمۡ وَ اِمَآئِكُمۡ ؕ اِنۡ يَّكُوۡنُوۡا فُقَرَآءَ
يُغۡنِهِمُ اللّٰهُ مِنۡ فَضۡلِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيۡمٌ ﴿۳۲﴾ وَ لۡيَسۡتَعۡفِفِ الَّذِيۡنَ لَا يَجِدُوۡنَ نِكَاحًا
حَتّٰى يُغۡنِيَهُمُ اللّٰهُ مِنۡ فَضۡلِهٖ ؕ وَ الَّذِيۡنَ يَبۡتَغُوۡنَ الۡكِتٰبَ مِمَّا مَلَكَتۡ اَيۡمَانُكُمۡ
فَكَاتِبُوۡهُمۡ اِنۡ عَلِمۡتُمۡ فِيۡهِمۡ خَيۡرًا ٭ۖ وَّ اٰتُوۡهُمۡ مِّنۡ مَّالِ اللّٰهِ الَّذِيۡۤ اٰتٰٮكُمۡ ؕ وَ لَا
تُكۡرِهُوۡا فَتَيٰتِكُمۡ عَلَى الۡبِغَآءِ اِنۡ اَرَدۡنَ تَحَصُّنًا لِّتَبۡتَغُوۡا عَرَضَ الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا ؕ وَ مَنۡ
يُّكۡرِهۡهُّنَّ فَاِنَّ اللّٰهَ مِنۡۢ بَعۡدِ اِكۡرَاهِهِنَّ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۳۳﴾ وَ لَقَدۡ اَنۡزَلۡنَاۤ اِلَيۡكُمۡ اٰيٰتٍ
ع ٨ ١٠ مُّبَيِّنٰتٍ وَّ مَثَلًا مِّنَ الَّذِيۡنَ خَلَوۡا مِنۡ قَبۡلِكُمۡ وَ مَوۡعِظَةً لِّلۡمُتَّقِيۡنَ ﴿۳۴﴾

۽ توهان مان جيڪي پرڻيل نہ هجن انهن جو نڪاح ڪري ڇڏيو ۽ توهان جي ٻانهن ۽ ٻانهين مان جيڪي نڪاح جي لائق هجن، انهن جو بہ. جيڪڏهن اهي غريب هوندا تہ الله انهن کي پنهنجي فضل سان آسودو ڪري ڇڏيندو ۽ الله وسعت وارو ڄاڻڻ وارو آهي ۽ جيڪي نڪاح جو موقعو نہ لهن، انهن کي گهرجي تہ هو پاڻ کي روڪين. ايستائين جو الله پنهنجي فضل سان انهن کي آسودو ڪري ۽ توهان جي ٻانهن مان جيڪي لکيل انجام گهرن تن ۾ جيڪڏهن ڪا ڇڱائي ڄاڻو تہ کين لکيل انجام ڏيو ۽ انهن کي ان مال مان ڏيو جيڪو الله توهانکي ڏنو آهي.

۾ پنهنجن ٻانهين کي زنا تي مجبور نہ ڪريو. جڏهن تہ هو پاڪ دامن رهڻ چاهينديون هجن، رڳو ان لاءِ تہ دنياوي زندگي جو ڪجھ فائدو توهان کي حاصل ٿي وڃي ۽ جيڪو شخص انهن کي مجبور ڪندو تہ الله ان جبر ڪان پوءِ بخشڻ وارو مهربان آهي ۽ بيشڪ اسان اوهان ڏانهن روشن آيتون نازل ڪيون آهن ۽ انهن ماڻهن جا مثال بہ جيڪي توهان ڪان پهرين گذري چڪا آهن ۽ ڊڄڻ وارن لاءِ نصيحت بہ. ٣٢-٣٤

---

اسلام مرد ۽ عورت لاءِ شادي واري زندگي پسند ڪندو آهي. ڪنهن بہ عذر جي ڪري نڪاح ڪان رڪجڻ اسلام ۾ درست نہ آهي، ڪجھ ماڻهو ڪنهن ذاتي سبب جي ڪري ڪنوارا رهجي وڃن تہ ان وقت اسلام سڄي معاشري ۾ اهو روح ڏسڻ چاهي ٿو تہ سيئي ماڻهو ان کي پنهنجو گڏيل مسئلو سمجھن ۽ ان وقت تائين مطمئن نہ ٿين، جيستائين اهي ان مسئلي کي شرعي طريقي تي حل نہ ڪري وٺن.

ڪتاب يا ڪتابت جي لفظي معنيٰ لکڻ آهي. ان مان مراد اها تحرير آهي جنهن ۾ ڪا ٻانهي يا ٻانهو پنهنجي آقا سان اهو عهد ڪري تہ آئون ايتري وقت ۾ ايترو مال ڪمائي توکي ڏيندس ۽ ان ڪان پوءِ آئون آزاد هوندس.

اسلام جنهن زماني ۾ آيو، ان وقت عرب ۽ سڄي دنيا ۾ غلام بڻائڻ جو رواج هو. اسلام نهايت منظم طور تي ان کي ختم ڪرڻ شروع ڪيو. ان مان ئي هڪ طريقو اهو هو جنهن کي ڪتابت چيو ويندو آهي، جيئن تہ اسلام فک رقبہ (غلام آزاد ڪرائڻ) جي اها مهم پنهنجي عام اصول جي مطابق تدريج جي تحت هلائي، مختلف طريقن سان غلامن ۽ ٻانهين کي آزاد ڪيو پئي ويو، ايستائين جو خلافت راشده جي آخري دور تائين ان رواج جو تقريبن خاتمو ٿي ويو.

قديم زماني ۾ ڪجھ ماڻهو پنهنجن ٻانهين ڪان پيشو ڪرائيندا هئا. مديني جي منافق عبدالله بن ابي وٽ ڪيتريون ئي ٻانهيون هيون، جن سان بدڪاري ڪرائي هو رقم حاصل ڪندو هو. انهن مان هڪ ٻانهي اسلام قبول ڪري ورتو ۽ بدڪاري ڪان باز اچڻ چاهيو تہ عبدالله بن ابي ان تي جبر ڪرڻ شروع ڪيو. آخرڪار رسول اللهﷺ جي حڪم سان اها ٻانهي عبدالله بن ابي جي قبضي مان آزاد ڪرائي وئي.

اَللّٰهُ نُوۡرُ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ ؕ مَثَلُ نُوۡرِهٖ كَمِشۡكٰوةٍ فِيۡهَا مِصۡبَاحٌ ؕ اَلۡمِصۡبَاحُ فِىۡ زُجَاجَةٍ ؕ اَلزُّجَاجَةُ كَاَنَّهَا كَوۡكَبٌ دُرِّىٌّ يُّوۡقَدُ مِنۡ شَجَرَةٍ مُّبٰرَكَةٍ زَيۡتُوۡنَةٍ لَّا شَرۡقِيَّةٍ وَّ لَا غَرۡبِيَّةٍ ۙ يَّكَادُ زَيۡتُهَا يُضِىۡٓءُ وَلَوۡ لَمۡ تَمۡسَسۡهُ نَارٌ ؕ نُوۡرٌ عَلٰى نُوۡرٍ ؕ يَهۡدِى اللّٰهُ لِنُوۡرِهٖ مَنۡ يَّشَآءُ ؕ وَ يَضۡرِبُ اللّٰهُ الۡاَمۡثَالَ لِلنَّاسِ ؕ وَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَىۡءٍ عَلِيۡمٌ ۙ﴿۳۵﴾

الله آسمانن ۽ زمين جي روشني آهي. سندس روشني جي مثال اهڙي آهي جيئن هڪ جارو، ان ۾ هڪ ڏيئو آهي. اهو هڪ شيشي جي اندر آهي. شيشو اهڙو آهي جيئن هڪ چمڪندڙ تارو. اُهو زيتون جي هڪ اهڙي مبارڪ وڻ جي تيل سان روشن ڪيو ويندو آهي جيڪو نہ اوڀر آهي نہ اولھ. ان جو تيل اهڙو آهي جڻ باھ ڇهڻ کان سواءِ ئي خودبخود ٻري پوي. نور تي نور آهي. الله پنهنجي روشني جي راھ ڏيکاري ٿو. جنهن کي چاهي ٿو ۽ الله ماڻهن لاءِ مثال بيان ڪري ٿو ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻڻ وارو آهي. ٣٥

---

اِهو هڪ جامع مثال آهي. هن آيت ۾ روشني مان مراد الله تعاليٰ جي هدايت آهي ۽ جاري مان مراد انسان جو دل آهي ۽ ڏيئي مان مراد ايمان جي استعداد آهي. شيشو ۽ تيل ان ئي استعداد جي وڌيڪ خاصيتن کي پڌائي رهيا آهن. شيشو ان ڳالهه جي تعبير آهي تہ اها استعداد انساني دل ۾ اهڙي طرح رکي وئي آهي جو هو ٻاهرين اثرن کان پوري طرح محفوظ رهي ۽ صاف تيل ان ڳالهه جي تعبير آهي تہ ان جي اها استعداد ايتري طاقتور آهي جو اها بي چين ٿي رهي آهي تہ ڪڏهن ان جي سامهون حق اچي ۽ هو ان کي فوراً قبول ڪري وٺي.

اها هڪ حقيقت آهي تہ هن ڪائنات ۾ روشني جو واحد ذريعو صرف هڪ الله جي ذات آهي، ان ئي مان هر هڪ کي روشني ۽ هدايت ملندي آهي. وڌيڪ اهو تہ الله تعاليٰ انسان کي اهڙي طرح پيدا ڪيو آهي جو ان جي اندر فطري طور تي حق جي طلب موجود آهي. اها طلب بيحد طاقتور آهي ۽ جيڪڏهن ان کي ضايع نہ ڪيو وڃي تہ هو هر گهڙي پنهنجو جواب حاصل ڪرڻ لاءِ بيتاب رهندي آهي، فطرت جي لحاظ کان انسان جي حق کي قبول ڪرڻ جي استعداد ايتري وڌيل آهي، ڄڻ تہ اها ڪو پيٽرول آهي. جنهن جي ويجهو جيڪڏهن باهه آندي وڃي تہ اهو فوراً ٻري پئي.

مؤمن اهو حقيقي انسان آهي، جنهن پنهنجي فطري استعداد کي ضايع نہ ڪيو. تنهن ڪري حق جي دعوت سامهون ايندي ئي ان جي استعداد جاڳي پوندي آهي. فطرت جي نور سان هدايت جو نور ملي ڪري ان جي پوري وجود کي روشن ڪريو ڇڏيو.

فِيۡ بُيُوۡتٍ اَذِنَ اللّٰهُ اَنۡ تُرۡفَعَ وَ يُذۡكَرَ فِيۡهَا اسۡمُهٗ ۙ يُسَبِّحُ لَهٗ فِيۡهَا بِالۡغُدُوِّ وَ الۡاٰصَالِ ﴿۳۶﴾
رِجَالٌ ۙ لَّا تُلۡهِيۡهِمۡ تِجَارَةٌ وَّ لَا بَيۡعٌ عَنۡ ذِكۡرِ اللّٰهِ وَ اِقَامِ الصَّلٰوةِ وَ اِيۡتَآءِ الزَّكٰوةِ ۙ
يَخَافُوۡنَ يَوۡمًا تَتَقَلَّبُ فِيۡهِ الۡقُلُوۡبُ وَ الۡاَبۡصَارُ ﴿۳۷﴾ لِيَجۡزِيَهُمُ اللّٰهُ اَحۡسَنَ مَا عَمِلُوۡا وَ
يَزِيۡدَهُمۡ مِّنۡ فَضۡلِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ يَرۡزُقُ مَنۡ يَّشَآءُ بِغَيۡرِ حِسَابٍ ﴿۳۸﴾

اهڙا گهر جن جي لاءِ الله حڪم ڏنو آهي تہ اُهي بلند ڪيا وڃن ۽ انهن ۾ ان جي نالي جو ذڪر ڪيو وڃي. انهن ۾ صبح ۽ شام الله جي ياد ڪندا آهن. اُهي ماڻهو جن کي تجارت ۽ خريد ۽ فروخت الله جي ياد کان غافل نہ ٿي ڪري ۽ نہ نماز جي پڙهڻ کان ۽ زڪوات جي ادائيگي کان. اُهي ان ڏينهن کان ڊڄندا آهن جنهن ۾ دليون ۽ اکيون ابتيون ٿي وينديون، تہ الله انهن کي سندن عمل جو بهترين بدلو ڏي ۽ انهن کي وڌيڪ پنهنجي فضل سان نوازي ۽ الله جنهن کي چاهي ٿو بي حساب ڏي ٿو. ٣٦-٣٨

---

انساني جسم ۾ جيڪو مقام دل جو آهي، اهوئي مقام انساني وسندي ۾ مسجد جو آهي. انسان جو دل ايمان سان آباد ٿيندو آهي ۽ مسجدون الله جي عبادت سان آباد ٿينديون آهن. مسجدون خدا جا گهر آهن. اهي ان ڪري ٺاهيون وينديون آهن تہ اتي الله کي ياد ڪيو وڃي. اتي اچڻ وارا اهي ئي ماڻهو هوندا آهن، جيڪي ان لاءِ ايندا آهن تہ اتي روحاني ماحول ۾ الله ڏانهن رجوع ڪري سگهن. اهي ان لاءِ ايندا آهن تہ پنهنجي پاڻ کي هڪ پاسي ڪري ڪجهہ وقت الله جي عبادت ۾ گذارين.

جنهن انسان کي اها توفيق ملي جو هو پنهنجي فطرت جي آواز کي سڃاڻي الله تعاليٰ تي ايمان آڻي، ۽ پوءِ پنهنجي پاڻ کي مسجد وارن عملن ۾ مشغول ڪري ته پوءِ الله ان جي دل ۾ پنهنجي خوف جو احساس وجهندو آهي. جيڪو موجوده دنيا ۾ ڪنهن انسان لاءِ سڀني کان وڏي نعمت آهي. اهي ئي اهي ماڻهو آهن جيڪي قرباني جي سطح تي خداپرستي کي اختيار ڪندا آهن ۽ غيرالله کان ڪٽجي الله وارا بڻجي ويندا آهن.

اهو ئي اهو انسان آهي جيڪو الله وٽ بهترين انعام جو مستحق آهي الله ان کي بي حساب فضل عطا فرمائيندو.

وَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اَعۡمَالُهُمۡ كَسَرَابٍۭ بِقِيۡعَةٍ يَّحۡسَبُهُ الظَّمۡاٰنُ مَآءً ؕ حَتّٰۤى اِذَا جَآءَهٗ لَمۡ يَجِدۡهُ شَيۡـًٔا وَّ وَجَدَ اللّٰهَ عِنۡدَهٗ فَوَفّٰىهُ حِسَابَهٗ ؕ وَ اللّٰهُ سَرِيۡعُ الۡحِسَابِ ﴿۳۹﴾ اَوۡ كَظُلُمٰتٍ فِىۡ بَحۡرٍ لُّـجِّىٍّ يَّغۡشٰٮهُ مَوۡجٌ مِّنۡ فَوۡقِهٖ مَوۡجٌ مِّنۡ فَوۡقِهٖ سَحَابٌ ؕ ظُلُمٰتٌۢ بَعۡضُهَا فَوۡقَ بَعۡضٍ ؕ اِذَاۤ اَخۡرَجَ يَدَهٗ لَمۡ يَكَدۡ يَرٰٮهَا ؕ وَ مَنۡ لَّمۡ يَجۡعَلِ اللّٰهُ لَهٗ نُوۡرًا فَمَا لَهٗ مِنۡ نُّوۡرٍ ﴿۴۰﴾

جن ماڻهن انڪار ڪيو انهن جا عمل اهڙا آهن جڻ رڻ پٽ ۾ رُڃ اڃايل ان کي پاڻي خيال ڪندو آهي، ايستائين جڏهن هو ان وٽ پهچي ته ان کي ڪا شيءِ نه لهي ۽ ان اُتي الله کي ئي موجود ڏٺو، پوءِ الله سندس حساب پورو چُڪائي ڏي ۽ الله جلد حساب وٺندڙ آهي يا هڪ گهري سمنڊ ۾ اونداهي هجي، لهر جي مٿان لهر اٿي رهي هجي، مٿائنس ڪڪر ڇانيل هجن، هڪ ٻئي جي مٿان اونداهيون، جيڪڏهن ڪو پنهنجو هٿ ڪڍي ته ان کي به ڏسي نه سگهي ۽ جنهن کي الله روشني نه ڏي ته ان جي لاءِ ڪا روشني نه آهي. ٣٩-٤٠

---

انسانن جو هڪ قسم اِهو آهي جنهن جو ذڪر آيت ٣٥ ۾ هو، هي اهو انسان آهي جيڪو پنهنجي فطري استعداد کي زنده رکي ٿو ۽ ان جي نتيجي ۾ ايمان جي دولت حاصل ڪري ٿو. هاڻي آيت ٤٠/ ٣٩ ۾ انسانن جي وڌيڪ ٻن قسمن جو ذڪر آهي. هي اهي ماڻهو آهن جن جو تيل حق جي دعوت جي باهه سان ٻرڻ لاءِ تيار نه ٿو ٿئي.

هڪ قسم اهو آهي جيڪو ڪنهن هٿ ٺوڪيل دين تي قائم رهندو آهي. اهي ڪوڙين تمنائن جو هڪ محل ٺاهي ان ۾ خوش رهندا آهن. اهي ماڻهو اهڙي طرح خوش گماني ۾ پيل هوندا آهن، ايستائين جو جڏهن موت اچي انهن جي خوش گماني جو طلسم ٽوڙي ڇڏي ۽ پوءِ اچانڪ انهن کي خبر پئي ٿي ته جنهن شيءِ کي اهي منزل سمجهندا هئا، اها هلاڪت جي کڏ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هئي.

ٻيو قسم اهو آهي جيڪو پڌرن منڪرن ۽ باغين جو آهي. اهي ماڻهو الله تعاليٰ جي هدايت کي ڇڏي پاڻ خود هدايت تخليق ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، پر اهي سراسر ناڪام رهندا آهن. ڇاڪاڻ ته هن دنيا ۾ هدايت ڏيڻ وارو الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪوبه نه آهي. الله کي ڇڏڻ کان پوءِ ماڻهو جي حصي ۾ ان کان سواءِ ڪجهه نه ٿو رهي جو هو هميشه اونداهين ۾ ڀٽڪندو رهي.

اَلَمۡ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يُسَبِّحُ لَهٗ مَنۡ فِى السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ وَ الطَّيۡرُ صٰٓفّٰتٍ ؕ كُلٌّ قَدۡ عَلِمَ

صَلَاتَهٗ وَ تَسْبِيْحَهٗ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِمَا يَفْعَلُوْنَ ﴿۴۱﴾ وَ لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ۚ وَ اِلَى اللّٰهِ الْمَصِيْرُ ﴿۴۲﴾

ڇا تو نہ ڏٺو تہ الله جي پاڪائي بيان ڪندا آهن جيڪي آسمانن ۾ زمين ۾ آهن ۽ کليل پرن وارا پکي هر هڪ پنهنجي نماز کي ۽ پنهنجي تسبيح کي ڄاڻي ٿو ۽ الله کي معلوم آهي جيڪو ڪجھ هو ڪندا آهن ۽ الله ئي جي حڪومت آهي آسمانن ۾ زمين ۾ ۽ الله ئي ڏانهن سيني کي موٽڻو آهي. ٤١-٤٢

انسان کان الله تعاليٰ جو جيڪو مطالبو آهي، ان کي ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي تہ انسان اهڙي طرح ئي رهي جيئن حقيقي طور ان کي رهڻ گهرجي، اهوئي دين حق آهي. ان لحاظ کان سڀ ڪائنات دين حق تي آهي، ڇاڪاڻ هن ڪائنات جي هر شيءِ بلڪل ان ئي طرح عمل ڪندي آهي جيئن حقيقي طور ان کي عمل ڪرڻ گهرجي. انسان کان سواءِ هن ڪائنات ۾ ڪابہ شيءِ نہ آهي جنهن جي عمل ۾ ۽ حقيقت ۾ ڪو تضاد هجي.

انهن بيشمار شين مان هڪ مثال پکي جو آهي. پکي جڏهن پنهنجا پَر ڦهلائيندي فضا ۾ اڏامي ٿو تہ اهو ان ئي حقيقت جو هڪ ڪامل نمونو هوندو آهي. ايئن لڳندو آهي ڄڻ هو ابدي حقيقت جي دنيا ۾ ڪامل هم آهنگي اختيار ڪري اڏامي رهيو هجي، ڄڻ تہ ان پنهنجي انفرادي وجود کي حقيقتاً جي وسيع سمنڊ ۾ گم ڪري ڇڏيو هجي.

هر هڪ جي هڪ تسبيح خداوندي آهي ۽ اهائي ان کان گهربل آهي. اهڙي طرح انسان جي هڪ تسبيح خداوندي آهي ۽ اها ان کان گهربل آهي. انسان جيڪڏهن ان معاملي ۾ غفلت يا سرڪشي جو رويو اختيار ڪري تہ ان وقت ان کي ان جي سخت قيمت ادا ڪرڻي پوندي، جڏهن هو خدا جي سامهون پيش ٿيندو.

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يُزْجِيْ سَحَابًا ثُمَّ يُؤَلِّفُ بَيْنَهٗ ثُمَّ يَجْعَلُهٗ رُكَامًا فَتَرَى الْوَدْقَ يَخْرُجُ مِنْ خِلٰلِهٖ ۚ وَ يُنَزِّلُ مِنَ السَّمَآءِ مِنْ جِبَالٍ فِيْهَا مِنْۢ بَرَدٍ فَيُصِيْبُ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ وَ يَصْرِفُهٗ عَنْ مَّنْ يَّشَآءُ ؕ يَكَادُ سَنَا بَرْقِهٖ يَذْهَبُ بِالْاَبْصَارِ ﴿۴۳﴾ يُقَلِّبُ اللّٰهُ الَّيْلَ وَ النَّهَارَ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّاُولِي الْاَبْصَارِ ﴿۴۴﴾

ڇا تو نہ ڏٺو تہ الله ڪڪرن کي هلائي ٿو پوءِ انهن کي پاڻ ۾ گڏائيندو آهي پوءِ وري ڪين تهن تي تہ ڪندو آهي. پوءِ تون مينهن کي ڏسندو آهين تہ انهن جي وچ مان نڪرندو آهي ۽ هو آسمان مان اتي جي ڳڙن جبلن مان ڳڙا وسائيندو آهي. پوءِ انهن کي جنهن تي چاهيندو آهي ڪيرائيندو آهي ۽ جنهن تان چاهيندو آهي انهن کي هٽائي ڇڏيندو آهي. ان جي وِڄ جي چمڪ اجهو تہ اکين کي ڪڍي. الله رات ۽ ڏينهن کي بدلائيندو رهي ٿو. بيشڪ ان ۾ سبق آهي اکين وارن لاءِ. ٤٣-٤٤

هتي دنيا جي ڪجھ واقعن کي مثال طور ذڪر ڪري چيو ويو آهي تہ ان ۾ اهل بصيرت لاءِ عبرت آهي. عبرت جي اصل معنيٰ پار ڪرڻ ۽ طي ڪرڻ آهي. ان مان مراد اهو ذهني سفر آهي، جڏهن تہ ماڻهو

هڪ شيءِ ڪان ٻي شيءِ تائين پهچندو آهي. جڏهن ماڻهو هڪ واقعي کي حقيقت سان جوڙي (Link) ٿو. جڏهن هو هڪ ظاهري شيءِ جي اندر ان جي معنوي پهلو کي ڏسي وٺي ٿو ته ان ئي جو نالو عبرت آهي.

مينهن کي ڏسو ته زمين کان وٺي سج تائين هڪ عظيم موافقت ۽ هم آهنگي جي عمل جي نتيجي ۾ اها شيءِ وجود ۾ ايندي آهي، جنهن کي مينهن چوندا آهن. پوءِ هي ڪڪر ڪڏهن زندگي ڏيڻ وارو مينهن آڻيندا آهن ۽ ڪڏهن انهن ڪڪرن مان هلاڪت خيز ڳڙا وسڻ لڳندا آهن. اهوئي معاملو وڄ جي چمڪ ۽ رات ۽ ڏينهن جي گردش جو آهي. انهن ظاهري واقعن ۾ بيشمار معنوي حقيقتون لڪيل آهن، جيڪي ماڻهو انهن کي ڏسي ظاهر کي معنيٰ سان جوڙي سگهن، اهي ئي الله جي نظر ۾ بصيرت وارا آهن.

وَ اللّٰهُ خَلَقَ كُلَّ دَآبَّةٍ مِّنْ مَّآءٍ ۚ فَمِنْهُمْ مَّنْ يَّمْشِيْ عَلٰى بَطْنِهٖ ۚ وَ مِنْهُمْ مَّنْ يَّمْشِيْ عَلٰى
رِجْلَيْنِ ۚ وَ مِنْهُمْ مَّنْ يَّمْشِيْ عَلٰٓى اَرْبَعٍ ؕ يَخْلُقُ اللّٰهُ مَا يَشَآءُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ
قَدِيْرٌ ﴿٤٥﴾ لَقَدْ اَنْزَلْنَآ اٰيٰتٍ مُّبَيِّنٰتٍ ؕ وَ اللّٰهُ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٤٦﴾

۽ الله هر جاندار کي پاڻي مان پيدا ڪيو. پوءِ انهن ۾ ڪو پيٽ پر هلي ٿو ۽ انهن مان ڪو ٻن پيرن تي هلي ٿو ۽ انهن مان ڪو چار پيرن تي هلندو آهي. الله پيدا ڪري ٿو جيڪو هو چاهي ٿو. بيشڪ الله هر شيءِ تي قادر آهي. اسان پڌريون آيتون نازل ڪيون آهن ۽ الله جنهن کي چاهي سڌو رستو ڏيکاري ٿو. ٤٥-٤٦

---

دنيا جون شيون لا تعداد آهن. ان مان مشرڪ انسان هي قياس ڪيو ته شين جا خالق به گهڻائي آهن، پر جڏهن شين کي ان پهلو سان ڏٺو وڃي ته ظاهري انگ ۽ شمار جي اندر هڪ جهڙائي لڪيل آهي ته معاملو بلڪل بدلجي ويندو آهي.

حيوانن جا لکين قسم آهن، پر گهرو مطالعو ٻڌائي ٿو ته انهن سيني جو اصل هڪ آهي. سيني حيوانن جي حياتي جو نظام بلڪل هڪجهڙو آهي، هن مطالعي کان پوءِ شين جو تعداد ۽ قسم، خالق جي قدرت جو ڪرشمو بڻجي ويندو آهي. هڪ لحاظ کان جيڪا شيءِ تعداد ۽ تخليق جو اظهار معلوم ٿي رهي هجي، اها ٻي لحاظ کان توحيد جي تخليق جو ثبوت بڻجي ويندي آهي.

موجوده دنيا هڪ اهڙي دنيا آهي، جتي دوکي ۽ فريب جي وچ ۾ حقيقت کي ڳولڻو پوي ٿو. هتي پنهنجي پاڻ کي دوکو ڏيڻ وارين ڳالهين کان متاثهون ڪرڻو پوندو آهي، ته جيئن ماڻهو حق جو مشاهدو ڪري سگهي، ان ئي خاص ڪم لاءِ الله تعاليٰ ماڻهو کي عقل جي صلاحيت ڏني آهي. جيڪو ماڻهو ان خدائي روشني کي صحيح طور استعمال ڪندو ته ان کي رستو ملي ويندو ۽ جيڪو ماڻهو ان کي استعمال نه ڪندو ته ان جي لاءِ هن دنيا ۾ ڀٽڪڻ کان سواءِ ڪو ٻيو انجام مقدر نه آهي.

وَ يَقُوْلُوْنَ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَ بِالرَّسُوْلِ وَ اَطَعْنَا ثُمَّ يَتَوَلّٰى فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ ؕ وَ مَآ
اُولٰٓئِكَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٤٧﴾ وَ اِذَا دُعُوْٓا اِلَى اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ لِيَحْكُمَ بَيْنَهُمْ اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ
مُّعْرِضُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَ اِنْ يَّكُنْ لَّهُمُ الْحَقُّ يَاْتُوْٓا اِلَيْهِ مُذْعِنِيْنَ ﴿٤٩﴾ اَفِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ اَمِ
ارْتَابُوْٓا اَمْ يَخَافُوْنَ اَنْ يَّحِيْفَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ وَ رَسُوْلُهٗ ؕ بَلْ اُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٥٠﴾ ع ٦ ١٠ ١٢

۽ اُهي چوندا آهن ته اسان الله ۽ رسول تي ايمان آندو ۽ اسان اطاعت ڪئي، پر انهن ۾ هڪ جماعت ان ڪان پوءِ ڦري ٿي وڃي ۽ اُهي ماڻهو ايمان آڻڻ وارا نه آهن ۽ جڏهن انهن کي الله ۽ رسول ڏانهن سڏيو ويندو آهي ته جيئن الله جو رسول سندن وچ ۾ فيصلو ڪري ته انهن مان هڪ جماعت منهن موڙي ٿي ۽ جيڪڏهن حق انهن کي ملڻ وارو هجي ته ان ڏانهن فرمانبردار بڻجي اچي ويندا آهن، ڇا انهن جي دلين ۾ بيماري آهي يا اهي شڪ ۾ پيل آهن يا انهن کي اهو انديشو آهي ته الله ۽ ان جو رسول انهن سان ظلم ڪندا، بلڪ اهي ئي ماڻهو ظالم آهن. ٤٧-٥٠

---

قديم مديني ۾ هڪ ٽولو اهو هو جنهن بظاهر اسلام قبول ڪري ورتو هو، پر اهو اسلام جي معاملي ۾ مخلص نه هو. ان جماعت کي منافق چيو ويندو آهي. اهي ماڻهو زبان سان ته الله ۽ رسول جي اطاعت جا لفظ ڳالهائيندا هئا، پر جڏهن آزمائش جو وقت ايندو هو ته اهي خود پنهنجي عمل سان پنهنجي ان دعويٰ جي ترديد ڪري ڇڏيندا هئا.

ان وقت صورتحال اها هئي ته مديني ۾ باقاعده اسلامي عدالت اڃا قائم نه ٿي هئي. اتي هڪ پاسي يهودي سردار هئا جيڪي صدين کان رواجي طور تي ماڻهن جا فيصلا ڪندا پئي آيا. ٻئي پاسي رسول اللهﷺ مڪي کان هجرت ڪري اتي پهتا هئا. منافقن جو حال اهو هو ته جيڪڏهن ڪنهن مسلمان سان انهن جو اختلاف ٿي وڃي ۽ اُهو چئي هلو رسول اللهﷺ وٽ ان جو فيصلو ڪرايون ته منافق ان لاءِ رڳو ان صورت ۾ راضي ٿيندو هو، جڏهن ان کي يقين هوندو هو ته مقدمي جي نوعيت اهڙي آهي جو فيصلو ان جي پنهنجي حق ۾ ٿي ويندو. جيڪڏهن معاملو ان جي ابتڙ هجي ته هو چوندو هو ته فلاڻي يهودي سردار وٽ هلو ۽ ان کان فيصلو ڪرائي وٺو.

اها بظاهر هوشياري آهي، پر اِهو خود پاڻ تي ظلم ڪرڻ آهي. اهڙي طرح ڪٽڻ وارا آخرت ۾ ان حال ۾ پهچندا جو هو پنهنجو مقدمو بلڪل هاري چڪا هوندا.

اِنَّمَا كَانَ قَوْلَ الْمُؤْمِنِيْنَ اِذَا دُعُوْٓا اِلَى اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ لِيَحْكُمَ بَيْنَهُمْ اَنْ يَّقُوْلُوْا سَمِعْنَا وَ اَطَعْنَا ؕ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٥١﴾ وَ مَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ وَ يَخْشَ اللّٰهَ وَ يَتَّقْهِ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ﴿٥٢﴾

ايمان وارن جو قول ته اهو آهي ته جڏهن اهي الله ۽ ان جي رسول ڏانهن سڏيا وڃن ته جيئن رسول سندن وچ ۾ فيصلو ڪري ته هو چون ته اسان ٻڌوسون ۽ مڃيوسون ۽ اُهي ئي ماڻهو فلاح پائڻ وارا آهن ۽ جيڪو شخص الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪري ۽ هو الله کان ڊڄي ۽ هو ان جي مخالفت کان بچي ته اُهي ئي ماڻهو آهن جيڪي ڪامياب ٿيندا. ٥١-٥٢

---

عام ماڻهو پنهنجي مفاد جي تابع هوندو آهي. مؤمن اهو آهي جيڪو پنهنجي پاڻ کي الله ۽ رسول جي تابع بڻائي وٺي. جڏهن الله ۽ رسول جو فيصلو سامهون اچي وڃي ته هو هر حال ۾ اهوئي ڪري جيڪو الله ۽ رسول جو فيصلو هجي. چاهي اهو ان جي خواهش جي مطابق هجي يا ان جي خواهش جي خلاف. چاهي ان ۾ ان جو مفاد محفوظ هجي يا ان ۾ ان جي مفاد جو نقصان ٿي رهيو هجي.

آخرت جي ڪاميابي صرف ان ماڻهو لاءِ آهي جنهن جو ايمان ان کي الله ۽ رسول جي حڪم جي اڳيان جهڪائي ڇڏي. الله جو احساس ان جي دل ۾ اهڙي طرح لهي وڃي جو هو ان کان سيني کان وڌيڪ ڊڄڻ لڳي. الله جي ناراضگي کان خود کي بچائڻ ان جي زندگي جو سيني کان وڏو مسئلو بڻجي وڃي.

وَ اَقۡسَمُوۡا بِاللّٰهِ جَهۡدَ اَيۡمَانِهِمۡ لَئِنۡ اَمَرۡتَهُمۡ لَيَخۡرُجُنَّ ؕ قُلۡ لَّا تُقۡسِمُوۡا ۚ طَاعَةٌ مَّعۡرُوۡفَةٌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيۡرٌۢ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۵۳﴾ قُلۡ اَطِيۡعُوا اللّٰهَ وَ اَطِيۡعُوا الرَّسُوۡلَ ۚ فَاِنۡ تَوَلَّوۡا فَاِنَّمَا عَلَيۡهِ مَا حُمِّلَ وَ عَلَيۡكُمۡ مَّا حُمِّلۡتُمۡ ؕ وَ اِنۡ تُطِيۡعُوۡهُ تَهۡتَدُوۡا ؕ وَ مَا عَلَى الرَّسُوۡلِ اِلَّا الۡبَلٰغُ الۡمُبِيۡنُ ﴿۵۴﴾

۽ اهي الله جا وڏا وڏا قسم پڪي طرح کڻندا آهن ته جيڪڏهن تون انهن کي حڪم ڏين ته هو ضرور نڪرندا. چؤ ته قسمون نه کڻو دستور جي مطابق اطاعت ڪريو. بيشڪ الله کي خبر آهي جيڪو توهان ڪريو ٿا. چؤ ته الله جي اطاعت ڪريو ۽ رسول جي اطاعت ڪريو. پوءِ جيڪڏهن توهان منهن موڙيندو ته رسول تي اهو بار آهي جيڪو ان تي وڌو ويو آهي ۽ توهان تي اهو بار آهي جيڪو توهان تي وڌو ويو آهي ۽ جيڪڏهن توهان ان جي اطاعت ڪندو ته هدايت لهندو ۽ رسول جي ذمي صرف واضح طور پهچائي ڇڏڻ آهي. ٥٣-٥٤

---

جنهن ماڻهو جي دل ۾ گهرائي سان الله لهي ويو هجي، ان جون نظرون جهڪي ويندين آهن. ان جي زبان بند ٿي ويندي آهي. سندس احساس ذميداري ان کان وڏيون وڏيون قربانيون ڏياري ڇڏيندو آهي، پر زباني دعويٰ جي وقت هو ڏسڻ وارن ماڻهن کي گونگو نظر ايندو آهي.

ان جي ابتڙ جيڪو ماڻهو الله سان تعلق جي معاملي ۾ گهٽ هجي، اهو لفظن جي معاملي ۾ وڌيڪ ٿي ويندو آهي، هو پنهنجي عمل جي ڪمي کي لفظن جي زيادتي سان پورو ڪندو آهي. ان وٽ چاڪاڻ ته ڪردار جي گواهي نه هوندي آهي. ان ڪري هو پاڻ کي معتبر ثابت ڪرڻ لاءِ وڏا وڏا لفظ ڳالهائيندو آهي.

جيڪي ماڻهو لفظن جو ڪمال ڏيکاري ٻين کي متاثر ڪرڻ چاهيندا آهن، اهي سمجهن ٿا ته سڄو معاملو رڳو انسانن جو معاملو آهي. پر جنهن ماڻهو کي يقين هجي ته اصل معاملو اهوئي آهي جيڪو الله وٽ پيش اچڻ وارو آهي ته ان جو انداز بلڪل بدلجي ويندو.

وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مِنۡكُمۡ وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَيَسۡتَخۡلِفَنَّهُمۡ فِى الۡاَرۡضِ كَمَا اسۡتَخۡلَفَ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ ۖ وَ لَيُمَكِّنَنَّ لَهُمۡ دِيۡنَهُمُ الَّذِى ارۡتَضٰى لَهُمۡ وَ لَيُبَدِّلَنَّهُمۡ مِّنۡۢ بَعۡدِ خَوۡفِهِمۡ اَمۡنًا ؕ يَعۡبُدُوۡنَنِىۡ لَا يُشۡرِكُوۡنَ بِىۡ شَيۡـًٔا ؕ وَ مَنۡ كَفَرَ بَعۡدَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓـئِكَ هُمُ الۡفٰسِقُوۡنَ ﴿۵۵﴾

الله وعدو فرمايو آهي توهان مان انهن ماڻهن سان جيڪي ايمان آڻين ۽ نيڪ عمل ڪن ته هو انهن کي زمين ۾

اقتدار ڏيندو، جيئن انهن کان اڳين ماڻهن کي اقتدار ڏنو هو ۽ انهن لاءِ سندن دين کي ڄمائي ڇڏيندو، جنهن کي انهن لاءِ پسند ڪيو آهي ۽ انهن جي خوف واري حالت کان پوءِ ان کي امن سان بدلي ڇڏيندو. اُهي رڳو منهنجي عبادت ڪندا ۽ ڪنهن شيءِ کي منهنجو شريڪ نہ بڻائيندا ۽ جيڪو ان کان پوءِ انڪار ڪري تہ اهڙائي ماڻهو نافرمان آهن. ٥٥

---

هتي جنهن غلبي جو واعدو ڪيو ويو آهي، ان جو تعلق اول رسول ۽ اصحاب رسول سان آهي، پر پيروي جي لحاظ کان ان جو تعلق پوري امت سان آهي. ان مان معلوم ٿيندو آهي تہ غلبو ۽ اقتدار اهل ايمان جي عمل جو حدف نہ آهي. اهو هڪ خدائي انعام آهي، جيڪو ايمان ۽ عمل جي نتيجي ۾ مؤمنن جي جماعت کي ڏنو ويندو آهي.

ان غلبي جو مقصد اهو آهي تہ اهل ايمان کي زمين ۾ استحڪام عطا ڪيو وڃي، انهن کي اهو موقعو ڏنو وڃي تہ هو حق جي دشمنن جي خوف کان محفوظ ٿي رهي سگهن. اهي آزادي سان الله تعاليٰ جي عبادت ڪن ۽ رڳو هڪ الله تعاليٰ جا ٻانها بڻجي زندگي گذارين. اهل ايمان جي غلبي جي اها حالت ان وقت تائين باقي رهندي، جيستائين اهي الله جو ذڪر ڪرڻ وارا بڻجي رهن ۽ تقويٰ جي ڪيفيت کي نہ وڃائين.

خليفي جي معنيٰ عربي زبان ۾ جانشين يا بعد ۾ اچڻ واري جي آهي. خليفو بڻائڻ اهو آهي تہ هڪ قوم کان پوءِ ٻي قوم کي ان جي جاءِ تي غلبو ۽ استحڪام عطا ڪيو وڃي. غلبو اصل ۾ خدائي امتحان جو هڪ پرچو آهي. الله تعاليٰ هڪ کان پوءِ ٻي قوم کي زمين ۾ غلبو ڏيندو آهي ۽ اهڙي طرح ان کي پرکيندو آهي. ايمان واري جماعت لاءِ اهو غلبو امتحان سان گڏ هڪ انعام بہ آهي.

وَ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ وَ اَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٥٦﴾ لَا تَحْسَبَنَّ
ع ١٢ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مُعْجِزِيْنَ فِي الْاَرْضِ ۚ وَ مَاْوٰىهُمُ النَّارُ ؕ وَ لَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿٥٧﴾

۽ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ادا ڪريو ۽ رسول جي اطاعت ڪريو تہ جيئن توهان تي رحم ڪيو وڃي. جيڪي ماڻهو انڪار ڪري رهيا آهن، سندن بابت اهو گمان نہ ڪريو تہ هو زمين ۾ الله کي عاجز ڪري ڇڏيندا ۽ انهن جو ٺڪاڻو باهہ آهي ۽ اهو نهايت برو ٺڪاڻو آهي. ٥٦-٥٧

---

الله تعاليٰ جي رحمت اِها آهي تہ دنيا ۾ غلبو ۽ آخرت ۾ جنت عطا ڪئي وڃي. جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ جي ان رحمت جو مستحق بڻجڻ چاهين تہ انهن کي پنهنجي اندر ٿي صفتون پيدا ڪرڻ گهرجن.

نماز قائم ڪرڻ، نماز قائم ڪرڻ اصل ۾ پنج وقت نماز جو نظام قائم ڪرڻ جو نالو آهي ۽ ان جو اصل مطلب اهو آهي تہ ماڻهو خشوع ۽ عاجزي ۾ جيئڻ وارا بڻجي وڃن نہ وري تڪبر ۽ سرڪشي ۾ جيئڻ وارا.

اهڙي طرح زڪوات جي عملي شڪل اها آهي تہ پنهنجي مال مان مقرر شرح جي مطابق ساليانو هڪ رقم ڪڍي وڃي ۽ ان کي بيت المال جي حوالي ڪيو وڃي ۽ زڪوات پنهنجي اصل حقيقت جي لحاظ کان اها آهي تہ ماڻهو خودغرض بڻجي نہ رهن، بلڪ اهي ٻين جا خيرخواه بڻجي رهن. ايستائين جو

انهن جي خيرخواهي ايتري وڏي وجي جو پنهنجي ذات ۾ پنهنجي مال ۾ ٻين جو حق سمجهڻ لڳن.

رسول جي اطاعت رسول جي زماني ۾ رسول جي ذات جي اطاعت هئي ۽ پوءِ جي زماني ۾ سنت رسول جي اطاعت آهي، ان جو مطلب اهو آهي ته ماڻهن لاءِ زندگي جو نمونو الله جو رسول هجي. ماڻهو پنهنجي زندگي جي سيني معاملن ۾ صرف الله تعاليٰ جي رسول کي پنهنجو رهنما سمجهن، رسول الله ﷺ جي راءِ سامهون اچڻ کان پوءِ ماڻهو پنهنجي ذاتي راءِ تان هٿ کڻي وٺن. رسول الله ﷺ اڳيان هجي ۽ سيئي ماڻهو ان جي پويان.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لِيَسۡتَاۡذِنۡكُمُ الَّذِيۡنَ مَلَكَتۡ اَيۡمَانُكُمۡ وَ الَّذِيۡنَ لَمۡ يَبۡلُغُوا الۡحُلُمَ
مِنۡكُمۡ ثَلٰثَ مَرّٰتٍ ؕ مِنۡ قَبۡلِ صَلٰوةِ الۡفَجۡرِ وَ حِيۡنَ تَضَعُوۡنَ ثِيَابَكُمۡ مِّنَ الظَّهِيۡرَةِ وَ
مِنۡۢ بَعۡدِ صَلٰوةِ الۡعِشَآءِ ؕ ثَلٰثُ عَوۡرٰتٍ لَّكُمۡ ؕ لَيۡسَ عَلَيۡكُمۡ وَ لَا عَلَيۡهِمۡ جُنَاحٌۢ
بَعۡدَهُنَّ ؕ طَوّٰفُوۡنَ عَلَيۡكُمۡ بَعۡضُكُمۡ عَلٰى بَعۡضٍ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الۡاٰيٰتِ ؕ وَ اللّٰهُ
عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ ﴿۵۸﴾ وَ اِذَا بَلَغَ الۡاَطۡفَالُ مِنۡكُمُ الۡحُلُمَ فَلۡيَسۡتَاۡذِنُوۡا كَمَا اسۡتَاۡذَنَ الَّذِيۡنَ
مِنۡ قَبۡلِهِمۡ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمۡ اٰيٰتِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ ﴿۵۹﴾ وَ الۡقَوَاعِدُ مِنَ
النِّسَآءِ الّٰتِىۡ لَا يَرۡجُوۡنَ نِكَاحًا فَلَيۡسَ عَلَيۡهِنَّ جُنَاحٌ اَنۡ يَّضَعۡنَ ثِيَابَهُنَّ غَيۡرَ
مُتَبَرِّجٰتٍۭ بِزِيۡنَةٍ ؕ وَ اَنۡ يَّسۡتَعۡفِفۡنَ خَيۡرٌ لَّهُنَّ ؕ وَ اللّٰهُ سَمِيۡعٌ عَلِيۡمٌ ﴿۶۰﴾

اي ايمان وارو! توهان جي ٻانهن کي ۽ توهان مان جيکي بلوغت کي نه پهتا آهن انهن کي ٽن وقتن ۾ اجازت وٺڻ گهرجي. فجر جي نماز کان اڳ ۾ ۽ ٻنپهرن تي جڏهن توهان پنهنجا ڪپڙا لاهيندا آهيو ۽ عشاء جي نماز کان پوءِ. اُهي ٽي وقت توهان لاءِ پردي جا آهن. ان کان پوءِ نه توهان تي ڪو گناهه آهي ۽ نه انهن تي. توهان هڪ ٻئي وٽ ڪثرت سان ايندا ويندا رهو ٿا. اهڙي طرح الله توهان لاءِ پنهنجن آيتن جي وضاحت ڪري ٿو ۽ الله ڄاڻڻ وارو حڪمت وارو آهي ۽ جڏهن توهان جا ٻار بالغ ٿين ته اُهي به اهڙي طرح اجازت وٺن. جهڙي ڪانئن اڳيان اجازت وٺندا رهيا آهن. اهڙي طرح الله توهان لاءِ پنهنجن آيتن جي وضاحت ڪري ٿو ۽ الله عليم ۽ حڪيم آهي ۽ ٻُڍيون عورتون جيڪي نڪاح جي اميد نه ٿيون رکن، انهن تي ڪو گناهه نه آهي، جيڪڏهن هو پنهنجون چادرون لاهي رکي ڇڏين. جيڪڏهن اهي زينت جي نمائش ڪرڻ واريون نه هجن ۽ جيڪڏهن اُهي به احتياط ڪن ته انهن لاءِ بهتر آهي ۽ الله ٻڌڻ وارو ڄاڻڻ وارو آهي. ٥٨-٦٠

---

مٿي معاشرتي احڪام بيان ٿيا آهن. اهي آيتون گهڻو ڪري بعد ۾ انهن جي تشريح طور نازل ٿيون. مثال طور عورتن لاءِ گهر جي اندر پردي جون جيڪي هدايتون ڏنيون ويون آهن، انهن ۾ اهو آهي ته عورتون پنهنجن چادرن کي پنهنجي سيني تي وجهن (آيت ٣١). هتي (آيت ٦٠) ۾ ان عام حڪم کان انهن عورتن کي الڳ ڪيو ويو آهي جن جي نڪاح جي عمر گذري چڪي هجي. فرمايو ويو ته جيڪڏهن اهي چادر جو اهتمام نه ڪن ته ڪو حرج نه آهي.

اهي ٻنهي قسمن جا حڪم هڪ ئي وقت نازل ٿي پئي سگهيا پر انهن جي وچ ۾ چئن رڪوعن جو فاصلو آهي. انهن وچ وارن رڪوعن ۾ ٻيا مضمون آهن. جيئن ته روايتن مان معلوم ٿيندو آهي. ابتدائي حڪم نازل ٿيڻ ڪان پوءِ ڪجھ عملي سوال پيدا ٿيا. تنهن ڪري انهن جي وضاحت ۾ اهي آخري آيتون نازل ٿيون ۽ هتي شامل ڪيون ويون. ان مان خبر پئي ٿي ته قرآن جو انداز ترتيب ۽ تدريج جو انداز آهي نه وري هڪ ئي وقت اقدام جو. الله تعاليٰ لاءِ اهو ممڪن هو ته هو سڀئي حڪم هڪ ئي وقت ۾ نازل ڪري ڇڏي، پر الله تعاليٰ حالتن جي لحاظ ڪان حڪم آهستي آهستي نازل ڪيا.

لَيۡسَ عَلَى الۡاَعۡمٰى حَرَجٌ وَّ لَا عَلَى الۡاَعۡرَجِ حَرَجٌ وَّ لَا عَلَى الۡمَرِيۡضِ حَرَجٌ وَّ لَا عَلٰٓى اَنۡفُسِكُمۡ اَنۡ تَاۡكُلُوۡا مِنۡۢ بُيُوۡتِكُمۡ اَوۡ بُيُوۡتِ اٰبَآٮِٕكُمۡ اَوۡ بُيُوۡتِ اُمَّهٰتِكُمۡ اَوۡ بُيُوۡتِ اِخۡوَانِكُمۡ اَوۡ بُيُوۡتِ اَخَوٰتِكُمۡ اَوۡ بُيُوۡتِ اَعۡمَامِكُمۡ اَوۡ بُيُوۡتِ عَمّٰتِكُمۡ اَوۡ بُيُوۡتِ اَخۡوَالِكُمۡ اَوۡ بُيُوۡتِ خٰلٰتِكُمۡ اَوۡ مَا مَلَكۡتُمۡ مَّفَاتِحَهٗۤ اَوۡ صَدِيۡقِكُمۡ‌ ؕ لَيۡسَ عَلَيۡكُمۡ جُنَاحٌ اَنۡ تَاۡكُلُوۡا جَمِيۡعًا اَوۡ اَشۡتَاتًا ‌ؕ فَاِذَا دَخَلۡتُمۡ بُيُوۡتًا فَسَلِّمُوۡا عَلٰٓى اَنۡفُسِكُمۡ تَحِيَّةً مِّنۡ عِنۡدِ
ع اللّٰهِ مُبٰرَكَةً طَيِّبَةً‌ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الۡاٰيٰتِ لَعَلَّكُمۡ تَعۡقِلُوۡنَ ﴿٦١﴾
١٤

انڌي تي ڪا تنگي نه آهي ۽ منڊي تي ڪا تنگي نه آهي ۽ بيمار تي ڪا تنگي نه آهي ۽ نه توهان تي ڪا تنگي آهي جي توهان پنهنجن گهرن مان کائو يا پنهنجن ابن ڏاڏن جي گهرن مان يا پنهنجي مائرن جي گهرن مان يا پنهنجي ڀائرن جي گهرن مان يا پنهنجن ڀينرن يا پنهنجن چاچن جي گهرن مان يا پنهنجن ڦڦين جي گهرن مان يا پنهنجن مامن جي گهرن مان يا پنهنجن ماسين جي گهرن مان يا جنهن گهر جي ڪنجين جا توهان مالڪ هجو يا پنهنجن دوستن جي گهرن مان. توهان تي ڪو گناهه نه آهي ته توهان گڏجي کائو يا الڳ الڳ. پوءِ جڏهن توهان گهرن ۾ داخل ٿيو ته پنهنجن ماڻهن کي سلام ڪريو. جيڪا بابرڪت دعا آهي الله جي طرفان، اهڙي طرح الله توهان لاءِ آيتن جي وضاحت ڪري ٿو ته جيئن توهان سمجهو. ٦١

---

اسلام کان اڳ ۾ عرب جو معاشرو هڪ آزاد معاشرو هو. اتي ڪنهن به قسم جي ڪا پابندي نه هئي. ان ڪان پوءِ اسلام گهرن جي اندر وڃڻ تي پردي جون پابنديون لڳايون. جن جو بيان مٿين آيتن ۾ آهي، ته ڪجھ ماڻهن کي احساس ٿيو ته انهن پابندين کان پوءِ اسان جي سماجي زندگي بلڪل محدود ٿي رهجي ويندي.

ان سلسلي ۾ اهي وضاحت واريون آيتون نازل ٿيون. فرمايو ويو ته اهي پابنديون توهان جي سماجي زندگي کي منظم ڪرڻ لاءِ آهن نه وري توهان جي جائز آزادي کي ختم ڪرڻ لاءِ. مثال طور انڌا، منڊا ۽ بيمار جيڪڏهن پنهنجي تعلق رکندڙ ماڻهن کان پري ٿي وڃن ته اهو عملي طور تي انهن کي بي سهارو ڪري ڇڏڻ جي هم معنيٰ ٿيندو، پر اسلام جي اها منشا هرگز نه آهي. تنهن ڪري پوئين حڪمن ۾ ضروري گنجائش ڏيندي ان جي اصل روح جي نشاندهي فرمائي وئي.

ارشاد ٿيو ته اسلام جو اصل مطلوب اِهو آهي ته ماڻهن جي دلين ۾ هڪ ٻئي جي لاءِ سچي

خيرخواهي هجي. جڏهن هڪ ماڻهو ٻئي جي گهر ۾ داخل ٿئي ته هو سلام ڪري ۽ چئي ته ”توهان مٿان سلامتي هجي ۽ الله جون برڪتون توهان تي نازل ٿين.“ اها روح جيڪڏهن حقيقي طور تي ماڻهن جي اندر موجود هجي ته اڪثر اجتماعي خرابين جو خودبخود خاتمو ٿي ويجي.

إِنَّمَا الْمُؤْمِنُونَ الَّذِينَ آمَنُوا بِاللَّهِ وَرَسُولِهِ وَإِذَا كَانُوا مَعَهُ عَلَىٰ أَمْرٍ جَامِعٍ لَمْ
يَذْهَبُوا حَتَّىٰ يَسْتَأْذِنُوهُ ۚ إِنَّ الَّذِينَ يَسْتَأْذِنُونَكَ أُولَٰئِكَ الَّذِينَ يُؤْمِنُونَ بِاللَّهِ وَ
رَسُولِهِ ۚ فَإِذَا اسْتَأْذَنُوكَ لِبَعْضِ شَأْنِهِمْ فَأْذَنْ لِمَنْ شِئْتَ مِنْهُمْ وَاسْتَغْفِرْ لَهُمُ اللَّهَ ۚ
إِنَّ اللَّهَ غَفُورٌ رَحِيمٌ ﴿٦٢﴾

ايمان وارا اُهي آهن جيڪي الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻين ۽ جڏهن ڪنهن اجتماعي ڪم جي موقعي تي رسول سان گڏ هجن ته جيستائين ان کان اجازت نه وٺن اتان نه وڃن. جيڪي ماڻهو توکان اجازت وٺندا آهن اُهي ئي الله ۽ ان جي رسول تي ايمان رکن ٿا. پوءِ جڏهن هو پنهنجي ڪنهن ڪم لاءِ توکان اجازت گهرن ته انهن ڪي اجازت ڏئي ڇڏ ۽ انهن لاءِ الله کان معافي گهر. بيشڪ الله معاف ڪرڻ وارو رحم ڪرڻ وارو آهي. ٦٢

---

جڏهن ڪجهه ماڻهو پنهنجي پاڻ ڪي اسلام سان وابسته ڪن ته مختلف سببن جي ڪري بار بار ان جي ضرورت پيش ايندي آهي ته انهن کي گڏ ڪيو وڃي، مثال طور مسلمانن جي ڪنهن مشترڪ معاملي ۾ مشورو ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن اجتماعي مهم ۾ ماڻهن جو تعاون حاصل ڪرڻ جي لاءِ وغيره.

اهڙن موقعن تي ايئن ٿيندو آهي ته جن ماڻهن تي پنهنجا انفرادي تقاضا غالب هجن ته اهي ٿوري دير کان پوءِ پنهنجي دلچسپي وجائي ڇڏيندا آهن ۽ چاهيندا آهن ته خاموشي سان اٿي هليا وڃن. اهو مزاج صحيح اسلامي مزاج نه آهي ۽ جيڪي ماڻهو ان ذهنيت کان پاڪ هجن، انهن ۾ به ڪجهه اهڙا ماڻهو هوندا آهن، جيڪي ڪنهن وقتي ضرورت جي ڪري اجتماع جي ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ اٿڻ چاهيندا آهن. اهڙن ماڻهن جو طريقو اهو هوندو آهي ته هو ذميوار شخصيت کان (۽ رسول جي زماني ۾ رسول اللهﷺ کان) باقاعده اجازت وٺي واپس ويندا آهن ۽ جيڪڏهن ذميوار انهن کي ڪنهن وجهه کان اجازت نه ڏي ته هو ڪنهن ناگواري جي بغير آخري وقت تائين ڪارروائي ۾ شريڪ رهندا آهن.

جيڪو ماڻهو مسلمانن جي اجتماعي معاملن جو ذميوار هجي، ان جي اندر اهو مزاج هئڻ گهرجي ته ڪو ماڻهو جيڪڏهن وقتي ضرورت جي ڪري معذرت پيش ڪري ته هو ان جي معذرت کي دل سان قبول ڪري ۽ ان جي حق ۾ دعا ڪري ته الله تعاليٰ ان جي مدد فرمائي.

لَا تَجْعَلُوا دُعَاءَ الرَّسُولِ بَيْنَكُمْ كَدُعَاءِ بَعْضِكُمْ بَعْضًا ۚ قَدْ يَعْلَمُ اللَّهُ الَّذِينَ
يَتَسَلَّلُونَ مِنْكُمْ لِوَاذًا ۚ فَلْيَحْذَرِ الَّذِينَ يُخَالِفُونَ عَنْ أَمْرِهِ أَنْ تُصِيبَهُمْ فِتْنَةٌ أَوْ
يُصِيبَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿٦٣﴾ أَلَا إِنَّ لِلَّهِ مَا فِي السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ ۖ قَدْ يَعْلَمُ مَا أَنْتُمْ
عَلَيْهِ ۖ وَيَوْمَ يُرْجَعُونَ إِلَيْهِ فَيُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوا ۗ وَاللَّهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيمٌ ﴿٦٤﴾

توهان رسول جي سڏڻ کي اهڙي طرح نه پائيو جهڙي طرح توهان پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي سڏيندا آهيو. الله توهان مان انهن ماڻهن کي ڄاڻي ٿو جيڪي هڪ ٻئي جي اوٽ ڪري کسڪي ويندا آهن. پوءِ جيڪي ماڻهو سندس حڪم جي خلاف ورزي ڪندا آهن، انهن کي ڊڄڻ گهرجي ته انهن تي ڪا آزمائش اچي وڃي يا انهن کي هڪ ڏکوئيندڙ عذاب پڪڙي وٺي. ياد رکو ته جيڪو ڪجھ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سڀ الله جو آهي. الله ان حالت کي ڄاڻي ٿو جنهن تي توهان آهيو ۽ جنهن ڏينهن ماڻهو ان ڏانهن موٽايا ويندا ته جيڪو ڪجھ انهن ڪيو هو ڪين اُن جي خبر ڏيندو ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻڻ وارو آهي. ٦٣-٦٤

---

هتي جنهن اطاعت رسول جو ذڪر آهي، ان جو تعلق رسول اللهﷺ جي زندگي ۾ رسول سان هو. رسول کان پوءِ ان جو تعلق هر ان ماڻهو سان آهي جيڪو مسلمانن جي معاملن جو ذميدار بڻايو وڃي.

اجتماعي معاملن ۾ پنهنجو حصو ادا ڪرڻ کان جيڪي ماڻهو نٽائين، اهي هي سمجهندا آهن ته اهي اجتماعي ڪم ۾ وقت ضايع نه ڪري پنهنجي انفرادي معاملي کي مضبوط ڪري رهيا آهن. پر جيڪا جماعت اجتماعيت وڃائي ڇڏي، ان جا دشمن ان جي اندر گهڙڻ جو رستو ڳولي وٺندا آهن. اهڙي طرح جيڪا بربادي ايندي آهي، اها پنهنجي نتيجي جي لحاظ کان عام بربادي هوندي آهي. ان جو نقصان هر هڪ کي پهچندو آهي، ايستائين جو ان کي به جيڪو هي سمجهي رهيو هو ته هُن ذاتي معاملن ۾ پوري توجهه لڳائي پنهنجي پاڻ کي محفوظ ڪري ورتو آهي.

ماڻهو جڏهن ان قسم جي ڪمزوري ڏيکاري ٿو ته هو سمجهي ٿو ته جيڪو ڪجھ هو ڪري رهيو آهي، اهو انسانن سان ڪري رهيو آهي. پر حقيقت اها آهي ته هو جيڪو ڪجھ ڪري رهيو هوندو آهي. الله سان ڪري رهيو هوندو آهي. جيڪڏهن اهو احساس زنده هجي ته ماڻهو ڪڏهن به ان قسم جي بي اصولي جي جرائت نه ڪري.

(٢٥) سُوْرَةُ الْفُرْقَانِ مَكِّيَّةٌ (٤٢) — اٰيَاتُهَا ٧٧ — رُكُوْعُهَا ٦

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

تَبٰرَكَ الَّذِىْ نَزَّلَ الْفُرْقَانَ عَلٰى عَبْدِهٖ لِيَكُوْنَ لِلْعٰلَمِيْنَ نَذِيْرَا ۙ﴿١﴾ اِلَّذِىْ لَهٗ مُلْكُ
السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ لَمْ يَتَّخِذْ وَلَدًا وَّ لَمْ يَكُنْ لَّهٗ شَرِيْكٌ فِى الْمُلْكِ وَ خَلَقَ كُلَّ شَىْءٍ
فَقَدَّرَهٗ تَقْدِيْرًا ﴿٢﴾ وَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖۤ اٰلِهَةً لَّا يَخْلُقُوْنَ شَيْـًٔا وَّ هُمْ يُخْلَقُوْنَ وَ لَا
يَمْلِكُوْنَ لِاَنْفُسِهِمْ ضَرًّا وَّ لَا نَفْعًا وَّ لَا يَمْلِكُوْنَ مَوْتًا وَّ لَا حَيٰوةً وَّ لَا نُشُوْرًا ﴿٣﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

وڏي بابرڪت آهي اها ذات جنهن پنهنجي ٻانهي تي فرقان نازل ڪيو، ته جيئن هو جهان وارن لاءِ ڊيڄارڻ وارو هجي. اهو جنهن لاءِ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي آهي ۽ ان ڪو پٽ نه بڻايو ۽ بادشاهي ۾ ان جو ڪو شريڪ نه آهي ۽ ان هر شيءِ کي پيدا ڪيو ۽ ان جو هڪ اندازو مقرر ڪيو ۽ ماڻهن ان کان سواءِ اهڙا معبود بڻايا جيڪي

ڪنهن شيءِ کي پيدا نہ ٿا ڪن. اهي خود پيدا ڪيل آهن ۽ اهي خود پنهنجي لاءِ نہ ڪنهن نقصان جو اختيار رکندا آهن ۽ نہ ڪنهن نفعي جو ۽ نہ ڪي موت ۽ نہ ڪي حياتي ۽ نہ وري جيئري ٿيڻ جو اختيار اٿن. ١-٣

---

”فرقان“ جي لفظي معنيٰ فرق ڪرڻ وارو آهي. يعني حق ۽ باطل جي وچ ۾ امتياز ڪرڻ جو معيار (Criterion). هتي فرقان مان مراد قرآن آهي. الله تعاليٰ عليم ۽ خبير بہ آهي ۽ حاڪم مطلق بہ، ان ڪري الله تعاليٰ طرفان هڪ ڪتاب فرقان جو اچڻ هڪ ئي وقت پنهنجي اندر بہ پهلو رکندو آهي. هڪ اهو تہ اهو يقيني طور تي صحيح آهي. ان جي صحت ۽ صحيح هجڻ ۾ ڪو شڪ نہ آهي. ٻيو اهو تہ ان کي مڃڻ ۽ ان کي نہ مڃڻ ٻنهي جو انجام هڪ جهڙو نہ ٿو ٿي سگهي.

الله تعاليٰ اڪيلو سڀني اختيار جو مالڪ آهي. ڪو ان جي راءِ تي اثرانداز نہ ٿو ٿي سگهي، ڪو ان جي ۽ ان جي فيصلن وچ ۾ حائل نہ ٿو ٿي سگهي. اهائي حقيقت ان ڳالهہ جي ضمانت آهي تہ جيڪو ماڻهو قرآن کي پنهنجو رهنما ڪتاب بڻائيندو تہ اهو ڪامياب ٿيندو ۽ جيڪو ماڻهو ان کي نظرانداز ڪندو تہ ان جي لاءِ اهو ممڪن نہ آهي تہ هو پنهنجي پاڻ کي ان ناڪامي کان بچائي جيڪا حق کي نظرانداز ڪرڻ واري جي لاءِ الله تعاليٰ مقدر ڪري ڇڏي آهي.

وَ قَالَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اِنۡ هٰذَاۤ اِلَّاۤ اِفۡكُ ٌۨافۡتَرٰىهُ وَ اَعَانَهٗ عَلَيۡهِ قَوۡمٌ اٰخَرُوۡنَ ۛۚ فَقَدۡ جَآءُوۡ ظُلۡمًا وَّ زُوۡرًا ۚ﴿۴﴾ وَ قَالُوۡۤا اَسَاطِيۡرُ الۡاَوَّلِيۡنَ اكۡتَتَبَهَا فَهِىَ تُمۡلٰى عَلَيۡهِ بُكۡرَةً وَّ اَصِيۡلًا ﴿۵﴾ قُلۡ اَنۡزَلَهُ الَّذِىۡ يَعۡلَمُ السِّرَّ فِى السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ ؕ اِنَّهٗ كَانَ غَفُوۡرًا رَّحِيۡمًا ﴿۶﴾

۽ منڪر ماڻهو چوندا آهن تہ اِهو رڳو هڪ ڪوڙ آهي جنهن کي ان گهڙيو آهي ۽ ڪجهہ ٻين ماڻهن ان ۾ ان جي مدد ڪئي آهي. بيشڪ هنن ماڻهن ظلم ۽ ڪوڙ آندو آهي ۽ اهي چوندا آهن تہ اهي اڳين جا قصا آهن جن کي ان لکرايو آهي ۽ پوءِ اُهي ان کي صبح ۽ شام پڙهايا وڃن ٿا. چئو تہ هن کي ان نازل ڪيو آهي جيڪو آسمانن ۽ زمين جا ڳجهہ ڄاڻي ٿو. بيشڪ هو بخشڻ وارو رحم ڪرڻ وارو آهي. ٤-٦

---

منڪر بظاهر قرآن کي ڪوڙو ڪتاب چوندا هئا، پر حقيقت اها آهي تہ انهن جي اُن قول جو رخ پيغمبر ڏانهن هو. پيغمبر انهن کي ڏسڻ ۾ هڪ معمولي انسان لڳندو هو. انهن کي سمجهہ ۾ نہ ايندو هو تہ هڪ معمولي انسان هڪ غيرمعمولي ڪتاب جو مالڪ ڪهڙي طرح ٿي سگهي ٿو.

قرآن هر قسم جي مضمونن کي بيان ڪندو آهي. تاريخي، طبعي، نفسياتي، معاشرتي وغيره. پر ان ۾ اڄ تائين ڪنهن غلطي جي نشاندهي نہ ٿي سگهي. ان مان ثابت ٿيندو آهي تہ قرآن هڪ اهڙي هستي جو ڪلام آهي جيڪو ڪائنات جي رازن کي آخري حدتائين ڄاڻڻ وارو آهي. جيڪڏهن ايئن نہ هجي ها تہ قرآن ۾ بہ غلطيون ملن ها، جهڙي طرح ٻين انساني ڪتابن ۾ ملنديون آهن، اهوئي واقعو قرآن جي خدائي ڪتاب هئڻ جو سڀني کان وڏو دليل آهي، جيڪي ماڻهو قرآن جي باري ۾ بي بنياد ڳالهيون چوندا آهن، اهي تمام وڏي سرڪشي جي ڳالهہ ڪندا آهن. اهڙا ماڻهو بيشڪ الله تعاليٰ جي پڪڙ ۾ اچي ويندا، البتہ جيڪڏهن اهي رجوع ڪري وٺن تہ الله تعاليٰ جو اهو طريقو نہ آهي تہ ان کان پوءِ بہ هو انهن کان انتقام وٺي. الله تعاليٰ ماڻهن جي حال کي ڏسندو آهي نہ وري ان جي ماضي کي.

وَ قَالُوْا مَالِ هٰذَا الرَّسُوْلِ يَاْكُلُ الطَّعَامَ وَ يَمْشِيْ فِي الْاَسْوَاقِ ؕ لَوْ لَاۤ اُنْزِلَ اِلَيْهِ مَلَكٌ
فَيَكُوْنَ مَعَهٗ نَذِيْرًا ۙ﴿۷﴾ اَوْ يُلْقٰۤى اِلَيْهِ كَنْزٌ اَوْ تَكُوْنُ لَهٗ جَنَّةٌ يَّاْكُلُ مِنْهَا ؕ وَ قَالَ الظّٰلِمُوْنَ
اِنْ تَتَّبِعُوْنَ اِلَّا رَجُلًا مَّسْحُوْرًا ﴿۸﴾ اُنْظُرْ كَيْفَ ضَرَبُوْا لَكَ الْاَمْثَالَ فَضَلُّوْا فَلَا
يَسْتَطِيْعُوْنَ سَبِيْلًا ﴿۹﴾ ع ١٦

۽ اُهي چوندا آهن ته اهو ڪهڙو رسول آهي جيڪو کاڌو کائي ٿو ۽ بازارن ۾ هلندو ڦرندو آهي. ڇو نه ان وٽ ڪو فرشتو موڪليو ويو جو هو ان سان گڏ رهي ڊيڄاري ها يا ان لاءِ ڪو خزانو لاٿو وڃي ها يا ان لاءِ ڪو باغ هجي ها جنهن مان هو کائي ها ۽ ظالمن چيو ته توهان هڪ جادو ٿيل ماڻهو جي پيروي ڪري رهيا آهيو. ڏسو اهي ڪهڙا ڪهڙا مثال تو لاءِ بيان ڪري رهيا آهن. بس اُهي گمراهه ٿي ويا آهن، پوءِ اهي راهه نه ٿا لهي سگهن. ٧-٩

---

حق جي هر داعي سان ايئن ٿيو آهي ته ان جي زماني جي ماڻهن ان کي حقير سمجهو ۽ بعد جي ماڻهن ان جي پرستش ڪئي. ان جو سبب اهو آهي ته پنهنجي زندگي ۾ اُهو پنهنجي حقيقي شخصيت سان ماڻهن جي سامهون هوندو آهي. ان لاءِ اُهو ماڻهن کي رڳو هڪ عام انسان وانگر ڏسڻ ۾ ايندو آهي. پر بعد ۾ داعي جي شخصيت جي چوڌاري افسانوي قصن جو دائرو ٺهجي ويندو آهي. بعد جا ماڻهو ان کي مبالغي آميز روپ ۾ ڏسندا آهن. ان ڪري بعد جا ماڻهو مبالغي جي حدتائين ان جي تعظيم ۽ تقدس ڪرڻ لڳندا آهن.

بعد جي زماني ۾ ماڻهن جي ذهنن ۾ پيغمبر جي غيرمعمولي عظمت قائم ٿي ويندي آهي. ان ڪري ڪو وڏو پنهنجي پاڻ کي پيغمبر کان وڏو نه ٿو سمجهي. پر پيغمبر جي زندگي ۾ ان جي جيڪا ظاهري صورتحال هوندي آهي، اها وقت جي وڏن کي موقعو ڏيندي آهي ته اهي پيغمبر جي مقابلي ۾ تڪبر واري نفسيات ۾ مبتلا ٿي سگهن. اهڙا ماڻهو جڏهن ڪجهه ماڻهن کي ڏسندا آهن ته اهي پيغمبر جي ڳالهين کي بڏي متاثر ٿي رهيا آهن ته اهي ان تاثر کي گهٽائڻ جي لاءِ چوندا آهن ته هي ته هڪ مجنون آهي. اهو ته هڪ جادو ٿيل انسان آهي وغيره. اهي دليل جي ميدان ۾ پنهنجي پاڻ کي عاجز ڏسي عيب لڳائڻ جو طريقو اختيار ڪندا آهن، حالانڪ دليل جي ذريعي ڪنهن کي رد ڪرڻ بلڪل درست آهي. جڏهن ته عيب لڳائي ڪنهن کي بدنام ڪرڻ سراسر غلط آهي.

تَبٰرَكَ الَّذِيْۤ اِنْ شَآءَ جَعَلَ لَكَ خَيْرًا مِّنْ ذٰلِكَ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۙ وَ
يَجْعَلْ لَّكَ قُصُوْرًا ﴿۱۰﴾ بَلْ كَذَّبُوْا بِالسَّاعَةِ ۟ وَ اَعْتَدْنَا لِمَنْ كَذَّبَ بِالسَّاعَةِ سَعِيْرًا ۚ﴿۱۱﴾
اِذَا رَاَتْهُمْ مِّنْ مَّكَانٍۭ بَعِيْدٍ سَمِعُوْا لَهَا تَغَيُّظًا وَّ زَفِيْرًا ﴿۱۲﴾ وَ اِذَاۤ اُلْقُوْا مِنْهَا مَكَانًا ضَيِّقًا
مُّقَرَّنِيْنَ دَعَوْا هُنَالِكَ ثُبُوْرًا ؕ﴿۱۳﴾ لَا تَدْعُوا الْيَوْمَ ثُبُوْرًا وَّاحِدًا وَّ ادْعُوْا ثُبُوْرًا كَثِيْرًا ﴿۱۴﴾
قُلْ اَذٰلِكَ خَيْرٌ اَمْ جَنَّةُ الْخُلْدِ الَّتِيْ وُعِدَ الْمُتَّقُوْنَ ؕ كَانَتْ لَهُمْ جَزَآءً وَّ مَصِيْرًا ﴿۱۵﴾
لَهُمْ فِيْهَا مَا يَشَآءُوْنَ خٰلِدِيْنَ ؕ كَانَ عَلٰى رَبِّكَ وَعْدًا مَّسْـُٔوْلًا ﴿۱۶﴾

اُهو وڏو بابرڪت آهي. جيڪڏهن هو چاهي ته توکي ان کان به بهتر شيءِ ڏئي ڇڏي. اهڙا باغ جن جي هيٺان نهرون جاري هجن ۽ توکي ڪُهڻا محل ڏئي ڇڏي. بلڪ انهن قيامت کي ڪوڙو ڀانئيو ۽ اسان اهڙي ماڻهو لاءِ جيڪو قيامت کي ڪوڙو ڀانئي، دوزخ تيار ڪري رکي آهي. جڏهن هو انهن کي پري کان ڏسندو ته هو ان جو ڪاوڙ ۽ ڪڙڪات ٻڌندا ۽ جڏهن اُهي ان جي ڪنهن تنگ جاءِ ۾ ٻڌي وڌا ويندا ته اُهي اتي موت کي پڪاريندا. اڄ هڪ موت کي نه پڪاريو ۽ گهڻن موتن کي پڪاريو. چئو ڇا اهو بهتر آهي يا هميشه جي جنت جنهن جو وعدو الله تعاليٰ کان ڊڄڻ وارن سان ڪيو ويو آهي. اها سندن لاءِ بدلو ۽ ٺڪاڻو آهي. ان ۾ انهن لاءِ اِهو سڀ ڪجهه هوندو جيڪو اُهي چاهيندا. اُهي ان ۾ هميشه رهندا. اُهو تنهنجي رب جي ذمي آهي هڪ گهريل وعدو آهي. ١٠-١٦

---

حق جا مخالف اڪثر حق جي داعي کي نشانو بڻائيندا آهن. اهي داعي کي غيرمعتبر ثابت ڪرڻ لاءِ طرح طرح جون ڳالهيون ڪندا آهن. اهڙي طرح اهي اهو تاثر ڏيندا آهن ته حق جو داعي جيڪڏهن انهن جي معيارتي هجي ها ته هو ان جي ڳالهه مڃي وٺن ها. پر اهو صحيح نه آهي. انهن جو اصل مسئلو اهو نه آهي ته حق جو داعي انهن کي اعتبار جي قابل نظر نه ٿو اچي. انهن جو اصل مسئلو اهو آهي ته اهي قيامت جي پڪڙ کان بي خوف آهن. ان ڪري اهي غيرذميداراڻي طور تي هر طرح جا لفظ ڳالهائيندا رهندا آهن.

حق ۽ ناحق جي معاملي جي سڄي اهميت ان ڪري آهي جو آخرت ۾ ان بابت پڇا ٿيندي. جيڪي ماڻهو آخرت جي پڪڙ جي باري ۾ بيخوف ٿي وڃن. اُهي نتيجي طور حق ۽ ناحق جي معاملي ۾ سنجيده نه ٿا رهن ۽ جنهن شيءِ جي باري ۾ ماڻهو سنجيده نه هجي ته هو ان جي اهميت کي ڪنهن به ريت محسوس نه ٿو ڪري سگهي، چاهي ان جي حق ۾ ڪيترا ئي دليل ڏنا وڃن. اهڙن ماڻهن جا لفظ رڳو ان وقت ختم ٿيندا، جڏهن قيامت جي گهڙي انهن کان انهن جا لفظ کسي وٺي.

وَ يَوْمَ يَحْشُرُهُمْ وَ مَا يَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَيَقُوْلُ ءَاَنْتُمْ اَضْلَلْتُمْ عِبَادِيْ
هٰۤؤُلَآءِ اَمْ هُمْ ضَلُّوا السَّبِيْلَ ﴿١٧﴾ قَالُوْا سُبْحٰنَكَ مَا كَانَ يَنْۢبَغِيْ لَنَاۤ اَنْ نَّتَّخِذَ مِنْ
دُوْنِكَ مِنْ اَوْلِيَآءَ وَ لٰكِنْ مَّتَّعْتَهُمْ وَ اٰبَآءَهُمْ حَتّٰى نَسُوا الذِّكْرَ ۚ وَ كَانُوْا قَوْمًۢا بُوْرًا ﴿١٨﴾
فَقَدْ كَذَّبُوْكُمْ بِمَا تَقُوْلُوْنَ ۙ فَمَا تَسْتَطِيْعُوْنَ صَرْفًا وَّ لَا نَصْرًا ۚ وَ مَنْ يَّظْلِمْ مِّنْكُمْ
نُذِقْهُ عَذَابًا كَبِيْرًا ﴿١٩﴾

۽ جنهن ڏينهن هو انهن کي جمع ڪندو ۽ انهن کي به جن جي هو الله کان سواءِ عبادت ڪندا آهن. پوءِ هو چوندو ڇا توهان منهنجي هنن ٻانهن کي گمراه ڪيو يا اهي خود رستي کان ڀٽڪي ويا. اُهي چوندا ته پاڪ آهي تنهنجي ذات اسان جي ڪهڙي مجال ته اسان توکان سواءِ ٻين کي ڪارساز تجويز ڪريون ها. پر تو انهن کي ۽ سندن ابن ڏاڏن کي دنيا جو سامان ڏنو، ايستائين جو اهي نصيحت کي ڀلجي ويا ۽ برباد ٿيڻ وارا بڻجي ويا. پوءِ انهن توهان کي توهان جي ڳالهين ۾ ڪوڙو ڪيو، هاڻي نه توهان خود ٽاري سگهو ٿا ۽ نه ڪا مدد وٺي سگهو ٿا ۽ توهان مان جيڪو ماڻهو ظلم ڪندو اسان ان کي هڪ وڏو عذاب چکائينداسون. ١٧-١٩

---

”ذڪر“ جي تشريح مفسر ابن ڪثير هن لفظن ۾ ڪئي آهي: اي نسوا ما انزلته اليهم علي السنة رسلک من الدعوة الي عبادتک وحدک لاشريک لک (اهي ان پيغام کي وساري ويٺا جيڪو انهن ڏانهن

تو پنهنجي پيغمبرن جي زبان مان، تنها ۽ لاشريڪ پنهنجي عبادت جي لاءِ نازل ڪيو هو.)
حقيقت اها آهي تہ نبين جون مخاطب قومون معروف معنيٰ ۾ ڪافر ۽ مشرڪ قومون نہ هيون. اهي دراصل اڳين نبين جون امتون هيون، سندن پيغمبرن انهن کي الله جي هدايت پهچائي، پر زمانو گذرڻ کان پوءِ اهي دنيا ۾ مشغول ٿي ويون ۽ پنهنجن بزرگن ۽ پيغمبرن جي باري ۾ اهو عقيدو ٺاهي ورتو تہ اهي الله تعاليٰ وٽ سندن بخشش جو ذريعو بڻجي ويندا. پر جڏهن قيامت ايندي تہ ان قسم جا سڀئي عقيدا باطل ثابت ٿيندا. ان وقت ماڻهن کي خبر پوندي تہ الله جي پڪڙ کان بچائڻ وارو خود الله تعاليٰ کان سواءِ ڪو بہ نہ هو.

وَ مَاۤ اَرْسَلْنَا قَبْلَكَ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ اِلَّاۤ اِنَّهُمْ لَيَاْكُلُوْنَ الطَّعَامَ وَ يَمْشُوْنَ فِي الْاَسْوَاقِ ؕ
ع ٢١ ١٧ وَ جَعَلْنَا بَعْضَكُمْ لِبَعْضٍ فِتْنَةً ؕ اَتَصْبِرُوْنَ ۚ وَ كَانَ رَبُّكَ بَصِيْرًا ﴿٢٠﴾

۽ اسان تو کان اڳ ۾ جيترا پيغمبر موڪليا سڀ کاڌو کائيندا هئا ۽ بازارن ۾ هلندا ڦرندا هئا ۽ اسان توهان کي هڪ ٻئي لاءِ آزمائش بڻايو آهي. ڇا توهان صبر ڪريو ٿا ۽ توهان جو رب سڀ ڪجهہ ڏسندڙ آهي. ٢٠

---

قرآن جا اول مخاطب حضرت نوح عليہ السلام، حضرت ابراهيم عليہ السلام، حضرت اسماعيل عليہ السلام، حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ ٻين پيغمبرن کي مڃيندا هئا. ان جي باوجود انهن محمد صلى الله عليہ وسلم کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ان جو هڪ سبب اهو آهي تہ بعد جي زماني ۾ هميشہ ايئن ٿيندو آهي جو ماڻهو پنهنجن گذريل پيغمبرن کي اعليٰ ۽ افضل ثابت ڪرڻ لاءِ پاڻ خود طلسماتي آکاڻيون ٺاهي وٺندا آهن، انهن آکاڻين ۾ سندن پوئين پيغمبر جي شخصيت هڪ معجزاتي شخصيت جي حيثيت اختيار ڪري وٺندي آهي، ان کان پوءِ جڏهن سندن همعصر نبي سندن سامهون ايندو آهي تہ اهو بظاهر صرف هڪ انسان ڏسڻ ۾ ايندو آهي، سندن تصور ۾ هڪ پاسي ماضي جو پيغمبر هوندو آهي، جيڪو انهن کي انسان کان مٿي جي هڪ هستي معلوم ٿيندو آهي. ٻئي پاسي زنده پيغمبر هوندو آهي، جيڪو صرف هڪ بشر جي روپ ۾ نظر ايندو آهي. ان تقابل ۾ اهي حال جي پيغمبر تي يقين نہ ٿا آڻي سگهن، هو پيغمبري کي مڃيندي پيغمبر جو انڪار ڪري ڇڏيندا آهن.
منڪرن لاءِ رسول ۽ اهل ايمان آزمائش آهن ۽ رسول ۽ اهل ايمان لاءِ منڪرين آزمائش آهن. منڪرن جي آزمائش اها آهي تہ اهي رسول جي بظاهر عظمت کان سواءِ ان جي اندر لڪيل عظمت کي دريافت ڪن ۽ اهل ايمان جي آزمائش اها آهي تہ اهي منڪرن جون اجايون ڳالهيون برداشت ڪن، اهي هرحال ۾ صابر ۽ شاڪر بڻجي رهن.

وَ قَالَ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا لَوْ لَاۤ اُنْزِلَ عَلَيْنَا الْمَلٰٓئِكَةُ اَوْ نَرٰى رَبَّنَا ؕ لَقَدِ
اسْتَكْبَرُوْا فِيْۤ اَنْفُسِهِمْ وَ عَتَوْ عُتُوًّا كَبِيْرًا ﴿٢١﴾ يَوْمَ يَرَوْنَ الْمَلٰٓئِكَةَ لَا بُشْرٰى يَوْمَئِذٍ
لِّلْمُجْرِمِيْنَ وَ يَقُوْلُوْنَ حِجْرًا مَّحْجُوْرًا ﴿٢٢﴾ وَ قَدِمْنَاۤ اِلٰى مَا عَمِلُوْا مِنْ عَمَلٍ فَجَعَلْنٰهُ
هَبَآءً مَّنْثُوْرًا ﴿٢٣﴾ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ يَوْمَئِذٍ خَيْرٌ مُّسْتَقَرًّا وَّ اَحْسَنُ مَقِيْلًا ﴿٢٤﴾

۾ جيڪي ماڻهو اسان جي سامهون پيش ٿيڻ جو انديشو نہ ٿا رکن، اُهي چوندا آهن تہ اسان تي ملائڪ ڇو نہ نازل ڪيا ويا يا اسان پنهنجي رب کي ڏسي وٺون ها. انهن پنهنجي جيءَ ۾ پاڻ کي تمام وڏو سمجهيو ۽ اهي حد کان لنگهي ويا آهن سرڪشي ۾. جنهن ڏينهن اهي ملائڪن کي ڏسندا، ان ڏينهن مجرمن لاءِ ڪا خوشخبري نہ هوندي ۽ اهي چوندا (الله ڪري اوهين شل) گهٽو پري هجو ۽ اسان انهن جي هرعمل ڏانهن وڌنداسون جيڪي انهن ڪيا هئا ۽ پوءِ ان کي خاڪ وانگر اڏائي ڇڏينداسون. جنت وارا ان ڏينهن بهترين جاءِ ۽ نهايت سٺي آرام گاهہ ۾ هوندا. ۲۱-۲٤

---

جيڪي ماڻهو داعي جي پيغام کي مڃڻ لاءِ فرشتن ۽ الله تعاليٰ جي ظهور جو مطالبو ڪن، اهي ڪا حقيقي ڳالهہ نہ ڪندا آهن. اهي رڳو پنهنجي غيرسنجيدگي جو ثبوت ڏيندا آهن. انهن کي خبر نہ آهي تہ خدا ۽ فرشتن جو ظهور ڇا معنيٰ رکي ٿو. حقيقت اها آهي تہ انهن لاءِ ڳالهائڻ جو جيڪو موقعو آهي، اهو صرف ان وقت تائين آهي جيستائين حق کي داعي جي سطح تي ظاهر ڪيو ويو هجي، جڏهن حق الله تعاليٰ ۽ فرشتن جي سطح تي ظاهر ٿي وڃي تہ اِهو فيصلي جو وقت هوندو آهي نہ وري مڃڻ ۽ تصديق ڪرڻ جو.

گهڻائي ماڻهو ان غلط فهمي ۾ هوندا آهن تہ قيامت ۾ جڏهن الله تعاليٰ پڇندو تہ ڇا آندو اٿو تہ آئون پنهنجو فلان عمل پيش ڪري ڇڏيندس، آئون چوندس تہ فلاڻي ۽ فلاڻي بزرگن جي نسبت مون کي حاصل آهي، پر قيامت جي ايندي ئي ان قسم جون خوش خيالون اهڙي طرح بي حقيقت ثابت ٿينديون، جيئن گرم لوهہ تي پاڻي جو قطرو پوندي ئي فوراً اڏامي وڃي. ان ڏينهن صرف حقيقي عمل ڪنهن جي ڪم ايندو نہ وري ڪنهن قسم جون ڪوڙيون خوش خيالون.

وَ يَوۡمَ تَشَقَّقُ السَّمَآءُ بِالۡغَمَامِ وَ نُزِّلَ الۡمَلٰٓئِكَةُ تَنۡزِيۡلًا ﴿۲۵﴾ اَلۡمُلۡكُ يَوۡمَئِذِ اِۨلۡحَقُّ
لِلرَّحۡمٰنِ ؕ وَ كَانَ يَوۡمًا عَلَى الۡكٰفِرِيۡنَ عَسِيۡرًا ﴿۲۶﴾ وَ يَوۡمَ يَعَضُّ الظَّالِمُ عَلٰى يَدَيۡهِ يَقُوۡلُ
يٰلَيۡتَنِى اتَّخَذۡتُ مَعَ الرَّسُوۡلِ سَبِيۡلًا ﴿۲۷﴾ يٰوَيۡلَتٰى لَيۡتَنِىۡ لَمۡ اَتَّخِذۡ فُلَانًا خَلِيۡلًا ﴿۲۸﴾ لَقَدۡ
اَضَلَّنِىۡ عَنِ الذِّكۡرِ بَعۡدَ اِذۡ جَآءَنِىۡ ؕ وَ كَانَ الشَّيۡطٰنُ لِلۡاِنۡسَانِ خَذُوۡلًا ﴿۲۹﴾ وَ قَالَ
الرَّسُوۡلُ يٰرَبِّ اِنَّ قَوۡمِى اتَّخَذُوۡا هٰذَا الۡقُرۡاٰنَ مَهۡجُوۡرًا ﴿۳۰﴾ وَ كَذٰلِكَ جَعَلۡنَا لِكُلِّ نَبِىٍّ
عَدُوًّا مِّنَ الۡمُجۡرِمِيۡنَ ؕ وَ كَفٰى بِرَبِّكَ هَادِيًا وَّ نَصِيۡرًا ﴿۳۱﴾

۽ جنهن ڏينهن آسمان ڪڪرن سان ڦاٽي پوندو ۽ فرشتا لڳو لڳ لاٿا ويندا. ان ڏينهن حقيقي بادشاهي صرف رحمان جي هوندي ۽ اهو ڏينهن منڪرن تي وڏو سخت هوندو ۽ جنهن ڏينهن ظالم پنهنجن هٿن کي چٻاڙيندي چوندو تہ ڪاش! آئون رسول سان گڏ رستو اختيار ڪريان ها. منهنجي بدبختي ڪاش! آئون فلاڻي ماڻهو کي دوست نہ ڪيان ها. ان مون کي نصيحت کان گمراهہ ڪيو بعد ان جي جو اها مون وٽ اچي چڪي هئي ۽ شيطان تہ آهي ئي انسان کي دغا ڏيڻ وارو ۽ رسول چوندو تہ اي منهنجا رب! منهنجي قوم ان قرآن کي بلڪل نظرانداز ڪري ڇڏيو ۽ اهڙي طرح اسان مجرمن ۾ هر نبي جا دشمن بڻايا ۽ تنهنجو رب ڪافي آهي رهنمائي لاءِ ۽ مدد لاءِ. ۲۵-۳۱

---

جڏهن ته حق جي دعوت ايندي آهي ته اهي ماڻهو ان جا دشمن بڻجي ويندا آهن. جيڪي حق جي نالي تي ناحق جو ڪاروبار ڪري رهيا هجن. اهي طرح طرح جا شوشا ڪڍي داعي جي صداقت کي مشڪوڪ ثابت ڪندا آهن ۽ گهڻن ئي ماڻهن کي پنهنجو ساٿي بڻائي وٺندا آهن.

جيڪي ماڻهو انهن ڪوڙن ليڊرن جي ڳالهين تي يقين ڪري حق جي داعي جو ساٿ نه ٿا ڏين، انهن تي قيامت جي ڏينهن واضح ٿي ويندو ته ليڊرن جا دليل دليل نه هئا. اهي رڳو ڪوڙا شوشا هئا. جن کي انهن پنهنجي مفاد جي مطابق ڏسندي مجي ورتو ۽ انهن کي حق کان پري رهڻ جو بهانو بڻائي ورتو. ان وقت اهي افسوس ڪندا ته ڇو انهن ايئن ڪيو جو هو ليڊرن جي ڪوڙن شوشن جي فريب ۾ پئجي ويا ۽ حق جي داعي جو ساٿ ڏيڻ وارا نه ٿيا.

الجزء التاسع عشر (١٩)

وَ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ لَا نُزِّلَ عَلَيْهِ الْقُرْاٰنُ جُمْلَةً وَّاحِدَةً ۛۚ كَذٰلِكَ ۛۚ لِنُثَبِّتَ بِهٖ
فُؤَادَكَ وَ رَتَّلْنٰهُ تَرْتِيْلًا ﴿۳۲﴾ وَ لَا يَاْتُوْنَكَ بِمَثَلٍ اِلَّا جِئْنٰكَ بِالْحَقِّ وَ اَحْسَنَ تَفْسِيْرًا ﴿ؕ۳۳﴾
اَلَّذِيْنَ يُحْشَرُوْنَ عَلٰى وُجُوْهِهِمْ اِلٰى جَهَنَّمَ ۙ اُولٰٓئِكَ شَرٌّ مَّكَانًا وَّ اَضَلُّ سَبِيْلًا ﴿٪۳۴﴾

۽ انڪار ڪرڻ وارن چيو ته ان تي سمورو قرآن ڇو نه لاٿو ويو. ايئن ان لاءِ آهي ته جيئن ان جي ذريعي اسان تنهنجي دل کي مضبوط ڪريون ۽ اسان ان کي آهستي آهستي نازل ڪيو آهي ۽ اُهي ماڻهو ڪهڙو به سوال تنهنجي سامهون آڻين، پر اسان ان جو ٺيڪ جواب ۽ بهترين وضاحت توکي ٻڌائيندا سون. جيڪي ماڻهو منهن ڀر جهنم ڏانهن گڏ ڪيا ويندا، سندن بڇڙو ٺڪاڻو آهي ۽ اُهي واٽ کان بلڪل ڀٽڪيل آهن. ٣٢-٣٤

---

قرآن جڏهن نازل ٿيو ته اهو هڪ ئي وقت پوري ڪتاب جي شڪل ۾ نازل نه ٿيو. بلڪ ٿورو ٿورو ڪري ٽيويهه ٢٣ سالن ۾ نازل ڪيو ويو. ان ڳالهه کي منڪرن شوشو بڻائي ورتو ۽ چيو ته ان مان ظاهر ٿيندو آهي ته اهو انسان جو ڪتاب آهي نه وري الله جو ڪتاب. ڇاڪاڻ الله تعاليٰ لاءِ هڪ ئي وقت پوري ڪتاب بڻائي ڇڏڻ ڪجهه مشڪل نه آهي.

فرمايو ويو ته قرآن رڳو هڪ تصنيف نه آهي. اِها هڪ دعوت آهي ۽ دعوت جي مصلحتن مان هڪ مصلحت اها آهي ته ان کي آهستي آهستي سامهون آندو وڃي، ته جيئن اها ماحول ۾ مستحڪم ٿيندي وڃي.

جيڪا دعوت ڪامل حق هجي. ان جي خلاف هر اعتراض ڪوڙو اعتراض هوندو آهي. ان جي خلاف جڏهن ڪو اعتراض اٿاريو وڃي ۽ پوءِ ان جي سچي وضاحت ڪري ڇڏجي ته ان سان دعوت جي صداقت وڌيڪ ثابت ٿي ويندي آهي. اها ڪنهن به درجي ۾ مشڪوڪ نه ٿي رهي.

وَ لَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَ جَعَلْنَا مَعَهٗۤ اَخَاهُ هٰرُوْنَ وَزِيْرًا ﴿ۚۖ۳۵﴾ فَقُلْنَا اذْهَبَاۤ اِلَى الْقَوْمِ
الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ؕ فَدَمَّرْنٰهُمْ تَدْمِيْرًا ﴿ؕ۳۶﴾ وَ قَوْمَ نُوْحٍ لَّمَّا كَذَّبُوا الرُّسُلَ اَغْرَقْنٰهُمْ
وَ جَعَلْنٰهُمْ لِلنَّاسِ اٰيَةً ؕ وَ اَعْتَدْنَا لِلظّٰلِمِيْنَ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿ۚۖ۳۷﴾ وَّ عَادًا وَّ ثَمُوْدَاۡ وَ اَصْحٰبَ

الرَّسِّ وَ قُرُوۡنًۢا بَيۡنَ ذٰلِكَ كَثِيۡرًا ﴿۳۸﴾ وَ كُلًّا ضَرَبۡنَا لَهُ الۡاَمۡثَالَ ۫ وَ كُلًّا تَبَّرۡنَا تَتۡبِيۡرًا ﴿۳۹﴾ وَ
لَقَدۡ اَتَوۡا عَلَى الۡقَرۡيَةِ الَّتِىۡۤ اُمۡطِرَتۡ مَطَرَ السَّوۡءِ ؕ اَفَلَمۡ يَكُوۡنُوۡا يَرَوۡنَهَا ۚ بَلۡ كَانُوۡا لَا
يَرۡجُوۡنَ نُشُوۡرًا ﴿۴۰﴾

۽ اسان موسيٰ کي ڪتاب ڏنو ۽ ان سان گڏ ان جي ڀاءُ هارون کي مددگار بڻايو. پوءِ اسان انهن کي چيو ته توهان ٻئي انهن ماڻهن وٽ وڃو جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڄاتو آهي، پوءِ اسان انهن کي بلڪل تباهه ڪري ڇڏيو ۽ نوح جي قوم کي به اسان غرق ڪري ڇڏيو. جڏهن انهن رسولن کي ڪوڙو ڄاتو ۽ اسان انهن کي ماڻهن لاءِ هڪ نشاني بڻائي ڇڏيو ۽ اسان ظالمن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪري رکيو آهي ۽ عاد ۽ ثمود کي ۽ رس وارن کي ۽ انهن جي وچ ۾ گهڻن ئي قومن کي ۽ اسان انهن مان هر هڪ کي مثال بيان ڪيا ۽ اسان هر هڪ کي بلڪل ناس ڪري ڇڏيو ۽ اهي ماڻهو ان وسندي وٽان گذرندا آهن جنهن تي پٿرن جي بڇڙي بارش ڪئي وئي. ڇا هو ان کي نٿا ڏسن. بلڪ اُهي ماڻهو وري جيئري ٿيڻ جي اميد نه ٿا رکن. ٣٥-٤٠

---

قرآن بار بار جن پيغمبرن جو حوالو ڏي ٿو، انهن مان اڪثر اهي آهن جن جو ذڪر انسانيت جي لکيل تاريخ ۾ جڳهه نه ماڻي سگهيو. ان مان اندازو ٿيندو آهي ته انهن پيغمبرن جي زماني جي عالمن انهن کي ڪا اهميت نه ڏني. انهن بادشاهن ۽ فوجي هيروز جي واقعن کي جوش سان لکيو، ڇاڪاڻ ته سندن واقعن ۾ سياسي پهلو موجود هو، پر انهن پيغمبرن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته انهن جي واقعن ۾ سياسي ذوق جي تسڪين لاءِ سامان موجود نه هو.

عجيب ڳالهه آهي ته اهو مزاج اڄ به مڪمل طور تي موجود آهي. اڄ به جيڪي ماڻهو پنهنجي پاڻ کي سياسي پليٽ فارم تي نمايان ڪن، اهي فوراً پريس ۽ ريڊيو ۾ جڳهه حاصل ڪري وٺن ٿا ۽ جيڪي ماڻهو غيرسياسي ميدان ۾ ڪم ڪن. انهن کي اڄ جو انسان به ذڪر جي قابل نه ٿو سمجهي.

انسان کان سيني کان وڌيڪ جيڪا شيءِ گهربل آهي. اها هي ته اهو واقعن مان سبق وٺي. اهائي اُها شيءِ آهي جيڪا انسان جي اندر سيني کان گهٽ ملندي آهي، موجوده زماني ۾ به ۽ ان کان اڳ جي زماني ۾ به.

وَ اِذَا رَاَوۡكَ اِنۡ يَّتَّخِذُوۡنَكَ اِلَّا هُزُوًا ؕ اَهٰذَا الَّذِىۡ بَعَثَ اللّٰهُ رَسُوۡلًا ﴿۴۱﴾ اِنۡ كَادَ لَيُضِلُّنَا
عَنۡ اٰلِهَتِنَا لَوۡ لَاۤ اَنۡ صَبَرۡنَا عَلَيۡهَا ؕ وَ سَوۡفَ يَعۡلَمُوۡنَ حِيۡنَ يَرَوۡنَ الۡعَذَابَ مَنۡ اَضَلُّ
سَبِيۡلًا ﴿۴۲﴾

۽ جڏهن هو توکي ڏسندا آهن ته هو توتي ٺٺوليون ڪندا آهن. ڇا اِهوئي آهي جنهن کي الله رسول بڻائي موڪليو آهي. هن ته اسان کي اسان جي معبودن کان هٽائي ڇڏيو هو، جيڪڏهن اسان انهن تي ثابت قدم نه رهون ها ۽ جلد ئي انهن کي معلوم ٿي ويندو. جڏهن هو عذاب کي ڏسندا ته سيني کان وڌيڪ بي راهه ڪير آهي. ٤١-٤٢

---

”جيڪڏهن اسان ثابت قدم نه رهون ها ته هو اسان کي اسان جي دين کان هٽائي ڇڏي ها.“ ان مان معلوم ٿيندو آهي ته انهن جو پنهنجي دين تي قائم رهڻ جو سبب سندن تعصب هو نه وري ڪو

دليل. دليل جي ميدان ۾ اهي بي هٿيار ٿي چڪا هئا، پر تعصب جي ڪري اهي پنهنجي اباڻي دين تي
ڄمي ويا. اهوئي اڪثر انسانن جو حال هوندو آهي. اڪثر انسان رڳو تعصب جي زمين تي بيٺا آهن.
جيتوڻيڪ زبان سان اهي ظاهر ڪندا آهن ته هو دليل جي زمين تي بيٺا آهن.

ڪنهن به دعوت جو مقابلو ڪرڻ جا ٻه طريقا آهن. هڪ اهو ته ان ڪي دليل سان رد ڪيو وڃي.
ٻيو اهو ته ان جو مذاق اڏاريو وڃي، پهريون طريقو جائز آهي ۽ ٻيو طريقو سراسر ناجائز. جيڪي ماڻهو
ڪنهن دعوت جو مذاق اڏارين. اهي رڳو اهو ثابت ڪندا آهن ته دليل جي ميدان ۾ اهي پنهنجي بازي
هاري چڪا آهن ۽ هاڻي مذاق ۽ ٺٺول جي ڳالهين سان پنهنجي شڪست تي پردو وجهڻ چاهين ٿا.

اَرَءَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ ؕ اَفَاَنْتَ تَكُوْنُ عَلَيْهِ وَكِيْلًا ﴿۴۳﴾ اَمْ تَحْسَبُ اَنَّ اَكْثَرَهُمْ
يَسْمَعُوْنَ اَوْ يَعْقِلُوْنَ ؕ اِنْ هُمْ اِلَّا كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّ سَبِيْلًا ﴿۴۴﴾

ڇا تو ان ماڻهو ڪي ڏٺو جنهن پنهنجي خواهش ڪي پنهنجو معبود بڻائي رکيو آهي. پوءِ ڇا تون ان جو ذمو کڻي
ٿو سگهين يا تون خيال ڪرين ٿو ته انهن مان اڪثر ٻڌندا ۽ سمجهندا آهن. اُهي ته رڳو جانورن وانگر آهن، بلڪ
اهي انهن کان به وڌيڪ ٻي راهه آهن. ٤٣-٤٤

---

هڪ حديث ۾ آهي ته رسول اللهﷺ فرمايو ته آسمان جي ڇانو جي هيٺان الله کان سواءِ پوڄا ڪرڻ
وارن معبودن ۾ سڀني کان وڌيڪ سنگين الله جي نزديڪ اها خواهش آهي جنهن جي پيروي ڪئي وڃي.
(ماتحت ظل السماءِ من الله يعبد من دون الله تعاليٰ اعظم عندالله عزوجل من هوي يتبع، طبراني عن ابي امامه).

اها هڪ حقيقت آهي ته سڀني کان وڏو بُتَ ماڻهو جي خواهش نفس آهي. بلڪ اهوئي اصل بت
آهي، باقي سڀئي بت رڳو خواهش پرستي جي دين کي جائز ثابت ڪرڻ لاءِ ٺاهيا ويا آهن.

خواهش کي پنهنجو اڳواڻ ڪرڻ کان پوءِ انسان ان ئي سطح تي اچي ويندو آهي، جيڪا جانورن
جي سطح آهي. جانور سوچي سمجهي ڪو ڪم نه ٿا ڪن، بلڪ رڳو فطري تقاضي جي تحت ڪندا
آهن، هاڻي جيڪڏهن انسان به پنهنجي سوچڻ جي صلاحيت کي ڪم ۾ نه آڻي ۽ رڳو نفس جي خواهش
تحت هلڻ لڳي ته ان ۾ ۽ جانور ۾ ڪهڙو فرق باقي رهيو.

اَلَمْ تَرَ اِلٰى رَبِّكَ كَيْفَ مَدَّ الظِّلَّ ۚ وَلَوْ شَآءَ لَجَعَلَهٗ سَاكِنًا ۚ ثُمَّ جَعَلْنَا الشَّمْسَ عَلَيْهِ
دَلِيْلًا ﴿۴۵﴾ ثُمَّ قَبَضْنٰهُ اِلَيْنَا قَبْضًا يَّسِيْرًا ﴿۴۶﴾ وَهُوَ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ لِبَاسًا وَّالنَّوْمَ
سُبَاتًا وَّجَعَلَ النَّهَارَ نُشُوْرًا ﴿۴۷﴾ وَهُوَ الَّذِيْٓ اَرْسَلَ الرِّيٰحَ بُشْرًۢا بَيْنَ يَدَيْ رَحْمَتِهٖ ۚ وَ
اَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً طَهُوْرًا ﴿۴۸﴾ لِّنُحْيِۦَ بِهٖ بَلْدَةً مَّيْتًا وَّنُسْقِيَهٗ مِمَّا خَلَقْنَآ اَنْعَامًا وَّ
اَنَاسِيَّ كَثِيْرًا ﴿۴۹﴾

ڇا تو پنهنجي رب ڏانهن نه ڏٺو ته هو ڪهڙي طرح پاڇي کي ڊگهو ڪري ٿو ۽ جيڪڏهن هو چاهي ها ته کيس
بيهاري ڇڏي ها. پوءِ اسان سج کي ان تي دليل بڻايو، پوءِ اسان آهستي آهستي ان کي پاڻ ڏانهن سوڙهو

ڪيوسون ۽ اهوئي آهي جنهن توهان لاءِ رات کي پردو ۽ ننڊ کي راحت بڻايو ۽ ڏينهن کي اٿڻ جو وقت بڻايو ۽ اهوئي آهي جيڪو پنهنجي رحمت کان اڳ ۾ هوائن کي خوشخبري بڻائي موڪليندو آهي ۽ اسان آسمان مان پاڪ پاڻي وسائيندا آهيون. تہ جيئن ان جي ذريعي مرده شهر کي آباد ڪريون ۽ ان مان پياريون پنهنجي مخلوق مان گهڻن ئي جانورن ۽ انسانن کي. ٤٥-٤٩

---

هتي عام مشاهدي جي زبان ۾ ان حقيقت ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي، جنهن کي موجوده زماني ۾ زمين جي محوري گردش چوندا آهن. زمين پنهنجي محور تي هر ٢٤ ڪلاڪن ۾ هڪ ڦيرو چڪر هڻي ٿي. ان ئي سان رات ۽ ڏينهن پيدا ٿيندا آهن. اهو الله تعاليٰ جي قدرت جو هڪ حيرت انگيز ڪرشمو آهي، جيڪڏهن زمين جي محوري گردش نہ هجي تہ زمين جي اڌ حصي تي مسلسل تيز اُس رهي ۽ ٻئي اڌ حصي تي لاڳيتو رات جي اونداهي ڇانيل رهي ۽ اهڙي طرح زمين تي زندگي گذارڻ انتهائي مشڪل ٿي وڃي.

زمين جي ان نظام ۾ گهڻيون ئي معنوي نصيحتون موجود آهن. جهڙي طرح رات جي اونداهي کان پوءِ لازمي طور ڏينهن جي روشني ايندي آهي، اهڙي طرح ناحق کان پوءِ حق جو اچڻ بہ ان زمين تي لازمي آهي، رات جو سمهي پيهر صبح جو اٿڻ، موت کان پوءِ پيهر آخرت جي دنيا ۾ اٿڻ جو مثال آهي، وغيره.

اهڙي طرح مينهن جي نظام ۾ ان جي مادي پهلو سان گڏ عظيم معنوي سبق جو پهلو بہ لڪيل آهي، جهڙي طرح مينهن سان مرده زمين سربسز ٿي ويندي آهي، اهڙي طرح الله تعاليٰ جي هدايت ان سيني کي ايمان ۽ تقويٰ جو باغ بڻائي ڇڏيندي آهي، جنهن جي اندر واقعي صلاحيت هجي، جيڪو ڪلراٺي زمين وانگر بي جيان نہ ٿي چڪو هجي.

وَلَقَدْ صَرَّفْنٰهُ بَيْنَهُمْ لِيَذَّكَّرُوْا ۖ فَاَبٰٓى اَكْثَرُ النَّاسِ اِلَّا كُفُوْرًا ﴿٥٠﴾ وَلَوْ شِئْنَا لَبَعَثْنَا فِيْ كُلِّ قَرْيَةٍ نَّذِيْرًا ﴿٥١﴾ فَلَا تُطِعِ الْكٰفِرِيْنَ وَجَاهِدْهُمْ بِهٖ جِهَادًا كَبِيْرًا ﴿٥٢﴾

۽ اسان ان کي سندن وچ ۾ طرح طرح سان بيان ڪيو آهي تہ جيئن هو سوچين پوءِ بہ اڪثر ماڻهو ناشڪري کان سواءِ نٽا رهن ۽ جيڪڏهن اسان چاهيون ها تہ هر وسندي ۾ هڪ ڊيڄارڻ وارو موڪليون ها. پوءِ تون منڪرن جي ڳالهہ نہ مڃ ۽ ان جي ذريعي انهن سان وڏو جهاد ڪر. ٥٠-٥٢

---

قرآن ۾ توحيد ۽ آخرت جا مضمون مختلف انداز ۽ مختلف اسلوب ۾ بار بار بيان ٿيا آهن. ماڻهو جيڪڏهن سنجيده هجي تہ اهي مضمون ان کي تڙپائي ڇڏڻ جي لاءِ ڪافي آهن. پر غافل انسان ڪنهن دليل مان ڪو اثر نہ ٿو وٺي.

”ان جي ذريعي جهاد ڪبير ڪريو“ مان مراد قرآن جي ذريعي وڏو جهاد ڪرڻ آهي، ان مان اندازو ٿيندو آهي تہ قرآن جي ذريعي جهاد، ٻين لفظن ۾ پرامن دعوتي جدوجهد ئي اصل جهاد آهي، بلڪ اهوئي سيني کان وڏو جهاد آهي. منڪر ماڻهو جيڪڏهن اها ڪوشش ڪن تہ اهل ايمان کي دعوت جي ميدان کان هٽائي ٻئي ميدان ۾ الجهائين، تڏهن بہ اهل ايمان جي سڄي ڪوشش اها هجڻ

گهرجي تہ هو پنهنجي عمل کي دعوت جي ميدان ۾ جاري رکن ۽ جيڪڏهن مخالفن جي هنگامن جي ڪري ڪنهن وقت عمل جو ميدان تبديل ٿيندي نظر اچي تہ هر ممڪن تدبير سان ٻيهر ان کي دعوت جي ميدان ۾ ڪٽي اچن.

وَ هُوَ الَّذِیۡ مَرَجَ الۡبَحۡرَیۡنِ هٰذَا عَذۡبٌ فُرَاتٌ وَّ هٰذَا مِلۡحٌ اُجَاجٌ ۚ وَ جَعَلَ بَیۡنَهُمَا بَرۡزَخًا وَّ حِجۡرًا مَّحۡجُوۡرًا ﴿۵۳﴾ وَ هُوَ الَّذِیۡ خَلَقَ مِنَ الۡمَآءِ بَشَرًا فَجَعَلَهٗ نَسَبًا وَّ صِهۡرًا ؕ وَ کَانَ رَبُّکَ قَدِیۡرًا ﴿۵۴﴾

۽ اهوئي آهي جنهن ٻن سمنڊن کي ملايو. هي مٺو آهي اُڃ لاهيندڙ. هي لوڻياٺو کارو آهي ۽ ان سندن وچ ۾ هڪ پردو رکي ڇڏيو ۽ هڪ مضبوط اوٽ ۽ اهو ئي آهي جنهن انسان کي پاڻي مان پيدا ڪيو، پوءِ ان کي خاندان وارو ۽ ساهراڻي مٽي مائٽي وارو ڪيائين ۽ تنهنجو رب وڏي قدرت وارو آهي. ٥٣-٥٤

---

جڏهن ڪنهن جاءِ تي ٻہ دريا ملندا آهن يا ڪو وڏو دريا سمنڊ ۾ وڃي ڪرندو آهي تہ اهڙي جاءِ تي پاڻ ۾ ملڻ جي باوجود ٻئي پاڻي الڳ الڳ رهن ٿا. ٻنهي جي وچ ۾ هڪ اوٽ پري تائين ويندي نظر ايندي آهي. مصنف اهو منظر الہ آباد ۾ گنگا ۽ جمنا جي ميلاپ جي مقام تي ڏٺو آهي. اهو واقعو ان قدرتي قانون تحت ٿيندو آهي جنهن کي موجوده زماني ۾ سطحي ڇڪ (Surface tension) چيو ويندو آهي. اهڙي ئي طرح جڏهن سمنڊ ۾ چاڙهہ ايندو آهي تہ سمنڊ جو کارو پاڻي دريا جي مٺي پاڻي مٿان چڙهي ويندو آهي. پر سطحي ڇڪ ٻنهي پاڻين کي بلڪل الڳ الڳ رکندي آهي ۽ جڏهن سمنڊ جو پاڻي ٻيهر لهندو آهي تہ ان جو اهو کارو پاڻي مٿان ئي مٿان کان واپس موٽي ويندو آهي ۽ هيٺ جو مٺو پاڻي پنهنجي پوئين حالت تي باقي رهندو آهي، ايستائين جو ان ئي سطحي ڇڪ جي قانون جي ڪري اهو ممڪن ٿيو آهي تہ کاري سمنڊ جي وچ ۾ مٺي پاڻي جا ذخيره موجود رهن ۽ ساموندي مسافرن کي مٺو پاڻي فراهم ڪري سگهن.

انساني جسم جو اصل پاڻي آهي. پاڻي سان انسان جهڙي حيرت انگيز جنس ٺهي آهي. پوءِ خانداني ۽ سيٽپي (ساهراڻو) لاڳاپن جي ذريعي ان جي نسل هلندي رهي. اهڙي قسم جا مختلف واقعا جيڪي زمين تي نظر اچن ٿا، انهن تي غور ڪيو وڃي تہ انهن ۾ الله تعاليٰ جي قدرت جون نشانيون لڪيل نظر اينديون.

وَ یَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مَا لَا یَنۡفَعُهُمۡ وَ لَا یَضُرُّهُمۡ ؕ وَ کَانَ الۡکَافِرُ عَلٰی رَبِّهٖ ظَهِیۡرًا ﴿۵۵﴾ وَ مَاۤ اَرۡسَلۡنٰکَ اِلَّا مُبَشِّرًا وَّ نَذِیۡرًا ﴿۵۶﴾ قُلۡ مَاۤ اَسۡـَٔلُکُمۡ عَلَیۡهِ مِنۡ اَجۡرٍ اِلَّا مَنۡ شَآءَ اَنۡ یَّتَّخِذَ اِلٰی رَبِّهٖ سَبِیۡلًا ﴿۵۷﴾

۽ اهي الله کي ڇڏي انهن شين جي عبادت ڪندا آهن جيڪي انهن کي نہ نفعو پهچائي سگهن ٿيون ۽ نہ نقصان ۽ ڪافر تہ پنهنجي رب کي پٺي ڏيڻ وارو آهي ۽ اسان توکي صرف خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ ڊيڄارڻ وارو بڻائي موڪليو آهي. تون چئو تہ آئون توهان کان ان تي ڪو اجر نہ ٿو گهران، پر جيڪو پنهنجي رب ڏانهن واٽ وٺڻ گهري. ٥٥-٥٧

---

الله تعاليٰ انسان کي اهڙي دنيا ۾ رکيو آهي جتي هر شيءِ ۽ ان جو سڄو ماحول توحيد جي گواهي ڏي ٿو، پر انسان ان مان روشني حاصل نہ ٿو ڪري. هو پنهنجي گمراهي ۾ ان حدتائين ويندو آهي جو هو توحيد جي بجاءِ شرڪ جي بنياد تي پنهنجي زندگي جو نظام ٺاهي ٿو ۽ جڏهن کو الله تعاليٰ جو ٻانهو انسان کي توحيد ڏانهن سڏي ٿو تہ هو توحيد جي دعوت جو مخالف بڻجي بيهي رهندو آهي.

جيئن تہ حق جي داعي کي اڳرائي جي حد تائين وڃڻ جي اجازت نہ آهي، ان کي رڳو تلقين ۽ نصيحت جي دائري ۾ پنهنجو ڪم جاري رکڻو آهي. جيڪڏهن دعوت مفيد نہ ٿي رهي هجي تہ داعي جو اهو ڪم نہ آهي جو هو دعوت تي اڳرائي جو اضافو ڪري. ان کي جنهن شيءِ جو اضافو ڪرڻو آهي، اها الله تعاليٰ کان دعا ۽ هر قسم جي مادي جهيڙن کان پاسو ڪرڻ، بيغرضي ۽ اخلاق جي ذريعي مخاطب جي دل کي متاثر ڪرڻ.

عندالمتقدمين ١٢

وَ تَوَكَّلْ عَلَى الْحَيِّ الَّذِيْ لَا يَمُوْتُ وَ سَبِّحْ بِحَمْدِهٖ ؕ وَ كَفٰى بِهٖ بِذُنُوْبِ عِبَادِهٖ خَبِيْرًا ۚ﴿٥٨﴾
الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ وَ مَا بَيْنَهُمَا فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ ۚۛ
اَلرَّحْمٰنُ فَسْـَٔلْ بِهٖ خَبِيْرًا ﴿٥٩﴾ وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمُ اسْجُدُوْا لِلرَّحْمٰنِ قَالُوْا وَ مَا الرَّحْمٰنُ ۗ
اَنَسْجُدُ لِمَا تَاْمُرُنَا وَ زَادَهُمْ نُفُوْرًا ﴿٦٠﴾ ۩ ع ١٦

السجدة ٧

۽ زنده خدا تي، جيڪو ڪڏهن بہ مرڻ وارو نہ آهي ڀروسو رکو ۽ ان جي حمد سان گڏ ان جي تسبيح ڪريو ۽ هو پنهنجن ٻانهن جي گناهن کان باخبر رهڻ لاءِ ڪافي آهي. جنهن پيدا ڪيو آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪو ڪجهه سندن وچ ۾ آهي ڇهن ڏينهن ۾. پوءِ هو تخت تي قائم ٿيو رحمان. پوءِ ان بابت ڪنهن خبر رکندڙ کان پڇ ۽ جڏهن انهن کي چيو ويندو آهي تہ رحمان کي سجدو ڪريو تہ چوندا آهن تہ رحمان ڇا آهي؟ ڇا اسان ان کي سجدو ڪريون جنهن لاءِ تون اسان کي چوين ۽ سندن نفرت اڃا وڌي وڃي ٿي. ٥٨-٦٠

---

”رحمان بابت خبر رکندڙ کان پڇ“. هن جملي ۾ پُڇا ڪئي وڃڻ واري ڳالهہ تي زور آهي، نہ وري جنهن ماڻهو کان پڇا ڪئي وڃي. مطلب اهو آهي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو الله تعاليٰ جي ڪرشمن کي ڄاڻيندو هجي تہ هو توهان کي ٻڌائيندو تہ رحمان جي ذات ڪيتري بلند ۽ برتر آهي. موجوده زماني ۾ سائنسدانن ڪائنات ۾ جيڪا تحقيق ڪئي آهي، اها جزئي طور تي هن آيت جي تصديق آهي. سائنسدانن جي تحقيق مان ڪائنات جا جيڪي راز سامهون آيا آهن. اهي ايترا حيرتناڪ آهن جو انهن کي پڙهي ماڻهو جي جسم جا وار اُڀا ٿي وڃن ۽ ان جو دل بي اختيار خالق جي عظمتن جي اڳيان جهڪي وڃي.

”ڇهن ڏينهن“ مان مراد خدا جا ڇهہ ڏينهن آهن، انسان جي زبان ۾ ان کي ڇهہ دور چئي سگهجي ٿو. ڇهن دورن ۾ پيدا ڪرڻ ظاهر ڪري ٿو تہ ڪائنات جي تخليق ڪنهن منصوبي طور تي آهي ۽ جيڪا شيءِ منصوبي ۽ اهتمام سان وجود ۾ آندي وڃي، اها ڪڏهن بہ بي مقصد نہ ٿي سگهي.

تَبٰرَكَ الَّذِيْ جَعَلَ فِي السَّمَآءِ بُرُوْجًا وَّ جَعَلَ فِيْهَا سِرٰجًا وَّ قَمَرًا مُّنِيْرًا ﴿٦١﴾ وَ هُوَ الَّذِيْ
جَعَلَ الَّيْلَ وَ النَّهَارَ خِلْفَةً لِّمَنْ اَرَادَ اَنْ يَّذَّكَّرَ اَوْ اَرَادَ شُكُوْرًا ﴿٦٢﴾

وڏي بابرڪت آهي اها ذات جنهن آسمان ۾ بُرج بڻايا ۽ منجهس ڏيئو (سج) ۽ هڪ چمڪندڙ چنڊ رکيو ۽ اهوئي آهي جنهن رات ۽ ڏينهن کي هڪ ٻئي پنيان ايندڙ بڻايو. ان ماڻهو لاءِ جيڪو سبق وٺڻ چاهي ۽ شڪرگذار بڻجڻ چاهي. ٦١-٦٢

---

بُرج جي لفظي معنيٰ قلعو آهي. آسماني بُرج مان ڇا مراد آهي. ان جي ڪا متفق تفسير اڃا تائين نه ٿي سگهي آهي. ممڪن آهي ته ان مان مراد اها شيءِ هجي جنهن کي موجوده زماني ۾ شمسي نظام چيو ويندو آهي، ڪائنات ۾ ڪروڙن جي تعداد ۾ شمسي نظام ملن ٿا. انهن مان هڪ اهو آهي جيڪو اسان کي ويجهو آهي، جنهن جي اندر اسان جي زمين ۽ سج ۽ چنڊ موجود آهن. شمسي نظام جي بيشمار نشانين مان هڪ نشاني زمين جو سج جي چؤطرف مسلسل چڪر لڳائڻ آهي. ان جي هڪ گردش مدار تي هوندي آهي، اها گردش سال ۾ پوري ٿيندي آهي ۽ ان جي ڪري موسمون پيدا ٿينديون آهن، زمين جي ٻي گردش ان جي محور تي هوندي آهي. اها چوويهه ڪلاڪن ۾ پوري ٿي ويندي آهي ۽ ان سان رات ۽ ڏينهن پيدا ٿيندا آهن. اٿاهه يا وسيع خلا ۾ حد درجي جي صحيح زميني گردش ۽ ان جو انساني ضرورتن سان ايترو وڌيڪ موافق هجڻ، ايترو حيرت انگيز واقعو آهي جو جيڪو ماڻهو ان تي غور ڪندو، اهو خدا جي شڪر جي جذبي ۾ غرق ٿي رهجي ويندو.

وَ عِبَادُ الرَّحۡمٰنِ الَّذِيۡنَ يَمۡشُوۡنَ عَلَى الۡاَرۡضِ هَوۡنًا وَّ اِذَا خَاطَبَهُمُ الۡجٰهِلُوۡنَ قَالُوۡا سَلٰمًا ﴿٦٣﴾ وَ الَّذِيۡنَ يَبِيۡتُوۡنَ لِرَبِّهِمۡ سُجَّدًا وَّ قِيَامًا ﴿٦٤﴾ وَ الَّذِيۡنَ يَقُوۡلُوۡنَ رَبَّنَا اصۡرِفۡ عَنَّا عَذَابَ جَهَنَّمَ ٭ۖ اِنَّ عَذَابَهَا كَانَ غَرَامًا ﴿٦٥﴾ ٭ۖ اِنَّهَا سَآءَتۡ مُسۡتَقَرًّا وَّ مُقَامًا ﴿٦٦﴾ وَ الَّذِيۡنَ اِذَاۤ اَنۡفَقُوۡا لَمۡ يُسۡرِفُوۡا وَ لَمۡ يَقۡتُرُوۡا وَ كَانَ بَيۡنَ ذٰلِكَ قَوَامًا ﴿٦٧﴾

۽ رحمان جا ٻانها اُهي آهن جيڪي زمين تي عاجزي سان هلندا آهن ۽ جڏهن جاهل ماڻهو انهن سان ڳالهائيندا آهن ته هو چوندا آهن ته توهان کي سلام، ۽ جيڪي پنهنجي رب اڳيان سجدي ۽ قيام ۾ راتون گذاريندا آهن ۽ جيڪي چوندا آهن ته اي اسان جا رب! جهنم جي عذاب کي اسان کان پري رک. بيشڪ ان جو عذاب پوري تباهي آهي. بيشڪ اهو برو ٺڪاڻو آهي ۽ برو مقام آهي ۽ اهي ماڻهو جڏهن خرچ ڪندا آهن ته نه فضول خرچي ڪندا آهن ۽ نه تنگي ڪندا آهن ۽ انهن (ٻنهي جي وچ) ۾ اعتدال تي هوندا آهن. ٦٣-٦٧

---

”هلڻ“ پوري شخصيت جي علامت آهي. جن ماڻهن جي دل ۾ الله جو يقين لهي وڃي، اهي سراسر عجز ۽ عاجزي بڻجي ويندا آهن. الله جو خوف انهن کان وڏائي جو احساس کسي وٺندو آهي. سندن هلڻ ڦرڻ، رهڻ ڪرڻ اهڙو ٿي ويندو آهي جنهن ۾ ٻانهپ جو روح پوري طرح سمايل هجي.

رحمان جي ٻانهن جو معاملو جيڪڏهن رڳو ايترو ئي هجي ته ڪوبه انهن سان نه الجهي، پر الله تعاليٰ جي معرفت انهن کي الله جو داعي بڻائي ڇڏيندي آهي. بس هتان ئي سندن ٽڪراءُ ٻين سان شروع ٿي ويندو آهي. سندن حق جو اعلان باطل پرستن لاءِ ناقابل برداشت ٿي ويندو آهي ۽ اهي انهن سان ٽڪرائڻ لاءِ اچي ويندا آهن. پر هتي به الله تعاليٰ جو خوف انهن کي جوابي ڪارروائي ۽ ٽڪراءُ کان روڪي ڇڏيندو آهي. اهي انهن جي حق ۾ هدايت جي دعا ڪندي انهن کان الڳ ٿي ويندا آهن.

الله تعاليٰ جي معرفت ئي جو اهو نتيجو نہ آهي تہ سندن زندگي ۾ هڪ ڪڏهن نہ ختم ٿيڻ واري بيچيني شامل ٿي ويندي آهي. اهي نہ صرف ڏينهن جي وقت الله کي بي اختيار پڪاريندا رهندا آهن، بلڪ انهن جي راتين جون تنهائيون بہ الله تعاليٰ جي ياد ۾ گذرڻ لڳنديون آهن.

اهڙي طرح الله تعاليٰ جو احساس انهن کي آخري حدتائين محتاط بڻائي ڇڏيندو آهي. اهي ذميدارانہ طور تي ڪمائيندا آهن ۽ ذميدارانہ طور تي خرچ ڪندا آهن. الله تعاليٰ جي اڳيان جواب ڏيڻ جو احساس انهن کي پنهنجي آمدني ۽ خرچ جي معاملي ۾ اعتدال وارو ۽ محتاط بڻائي ڇڏيندو آهي، حديث ۾ اچي ٿو تہ اهو ماڻهو جي دانائي مان آهي جو هو پنهنجي معيشت ۾ وچٿرو رستو اختيار ڪري (من فقہ الرجل قصده في معيشتہ).

وَ الَّذِيۡنَ لَا يَدۡعُوۡنَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ وَ لَا يَقۡتُلُوۡنَ النَّفۡسَ الَّتِىۡ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالۡحَقِّ وَ لَا يَزۡنُوۡنَ ۚ وَ مَنۡ يَّفۡعَلۡ ذٰلِكَ يَلۡقَ اَثَامًا ۙ﴿۶۸﴾ يُّضٰعَفۡ لَهُ الۡعَذَابُ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ وَ يَخۡلُدۡ فِيۡهٖ مُهَانًا ﴿۶۹﴾ۖ اِلَّا مَنۡ تَابَ وَ اٰمَنَ وَ عَمِلَ عَمَلًا صَالِحًا فَاُولٰٓئِكَ يُبَدِّلُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِهِمۡ حَسَنٰتٍ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوۡرًا رَّحِيۡمًا ﴿۷۰﴾ وَ مَنۡ تَابَ وَ عَمِلَ صَالِحًا فَاِنَّهٗ يَتُوۡبُ اِلَى اللّٰهِ مَتَابًا ﴿۷۱﴾

۽ جيڪي الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي معبود کي نہ ٿا پڪارين ۽ اهي الله جي حرام ڪيل جان کي قتل نہ ٿا ڪن، پر حق کان سواءِ ۽ اُهي زنا نہ ٿا ڪن ۽ جيڪو ماڻهو اهڙا ڪم ڪندو تہ هو سزا لهندو، قيامت جي ڏينهن ان جو عذاب وڌندو رهندو ۽ اهو ان ۾ هميشہ ذليل ٿي رهندو. پر جيڪو ماڻهو توبه ڪري ۽ ايمان آڻي ۽ نيڪ ڪم ڪري تہ الله اهڙن ماڻهن جي براين کي ڀلاين سان بدلي ڇڏيندو ۽ الله بخشڻ وارو مهربان آهي ۽ جيڪو ماڻهو توبه ڪري ۽ نيڪ ڪم ڪري تہ اهو حقيقت ۾ الله ڏانهن وري موٽي ٿو. ٦٨-٧١

---

هن آيت ۾ ٽن گناهن جو ذڪر آهي. شرڪ ۽ ناحق قتل ۽ زنا. اهي ٽيئي گناهہ خدا ۽ ٻانهن جي حق ۾ سڀني کان وڏا گناهہ آهن، الله تي حقيقي ايمان جي علامت اها آهي تہ ماڻهو انهن ٽنهي گناهن کان پري ٿي وڃي. جيڪي ماڻهو انهن گناهن ۾ ملوث هجن، اهي توبه ڪري ان جي انجام کان بچي سگهن ٿا، جيڪي ماڻهو توبه ۽ رجوع جي بغير مري وڃن، انهن لاءِ الله تعاليٰ وٽ نهايت سخت سزا آهي. جنهن کان اهي ڪنهن بہ حال ۾ بچي نہ سگهندا.

الله تعاليٰ وٽ اصل نيڪي اها آهي تہ ماڻهو الله تعاليٰ کان ڊڄڻ وارو بڻجي وڃي. جيڪا نيڪي ماڻهو کي الله کان بي خوف ڪري ڇڏي، اها بدي آهي ۽ جيڪا بدي ماڻهو کي الله تعاليٰ کان ڊيڄاري، اها پنهنجي انجام جي لحاظ کان نيڪي آهي.

جيڪڏهن هڪ ماڻهو کان برائي ٿي وڃي، ان کان پوءِ ان کي الله جي ياد اچي. هو الله وٽ پڇا ٿيڻ جو سوچي تڙپي وڃي ۽ توبه ۽ استغفار ڪندي الله ڏانهن ڊوڙي پئي تہ الله پنهنجي رحمت سان اهڙي برائي کي نيڪي ۾ بدلي ڇڏيندو، ڇاڪاڻ تہ اها ماڻهو کي الله ڏانهن واپس موٽائڻ جو سبب بڻجي وئي.

وَ الَّذِيْنَ لَا يَشْهَدُوْنَ الزُّوْرَ ۙ وَ اِذَا مَرُّوْا بِاللَّغْوِ مَرُّوْا كِرَامًا ﴿۷۲﴾ وَ الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِّرُوْا
بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ لَمْ يَخِرُّوْا عَلَيْهَا صُمًّا وَّ عُمْيَانًا ﴿۷۳﴾ وَ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا هَبْ لَنَا مِنْ
اَزْوَاجِنَا وَ ذُرِّيّٰتِنَا قُرَّةَ اَعْيُنٍ وَّ اجْعَلْنَا لِلْمُتَّقِيْنَ اِمَامًا ﴿۷۴﴾

۽ جيڪي ماڻهو ڪوڙي شاهدي نه ڏيندا ۽ جڏهن ڪنهن بيهوده شيءِ وٽان سندن گذر ٿيندو ته سنجيدگي سان گذري ويندا آهن ۽ هو اهڙا آهن ته جڏهن انهن کي سندن رب جي آيتن ذريعي نصيحت ڪئي ويندي آهي ته اُهي انهن تي ٻوڙا ۽ انڌا ٿي نه ڪرندا آهن ۽ جيڪي چوندا آهن ته اي اسان جا رب! اسان کي اسان جي زالن ۽ اسان جي اولاد طرفان اکين جو ٺار عطا فرما ۽ اسان کي پرهيزگارن جو امام بڻاءِ. ٧٢-٧٤

---

موجوده دنيا ۾ جيڪي غلط ڪم آهن، انهن سڀني جو معاملو اهو آهي ته شيطان انهن کي ظاهري طور تي خوبصورت بڻائي رکيو آهي. هر باطل پرست پنهنجي نظريي کي خوشنما لفظن ۾ پيش ڪندو آهي، ان ظاهري فريب جي ڪري ماڻهو انهن شين ڏانهن ڇڪجي ويندا آهن. جيڪڏهن انهن جي ان ظاهري پردي کي هٽائي ڇڏجي ته هر شيءِ ايتري مڪروه ڏسڻ ۾ اچڻ لڳي جو ڪوبه ماڻهو ان جي ويجهو وڃڻ لاءِ تيار نه ٿئي.

ان لحاظ کان هر برائي هڪ قسم جو ڪوڙ آهي، جنهن ۾ ماڻهو مبتلا ٿيندو آهي. موجوده دنيا ۾ ماڻهو جو امتحان اهو آهي ته هو ڪوڙ کي سڃاڻي، هو ظاهري پردي کي هٽائي شين کي انهن جي اصل حقيقت جي لحاظ کان ڏسي سگهي.

جڏهن ڪنهن کي هڪ اهڙي نصيحت ڪئي وڃي، جنهن ۾ ان جي ذات تي چوٽ پوندي هجي ته هو فوراً ڪاوڙجي پوندو آهي. اهڙو ماڻهو الله تعاليٰ جي نظر ۾ انڌو، ٻوڙو آهي، ڇاڪاڻ ته ان پنهنجي اک کان اهو ڪم نه ورتو جو هو حقيقت کي ڏسي. ان پنهنجي ڪن کان اهو ڪم نه ورتو جو هو سچائي جي آواز کي ٻڌي. ان نصيحت جو استقبال ٻڌڻ ۽ ڏسڻ واري ماڻهو جي حيثيت سان نه ڪيو، ان نصيحت جو استقبال هڪ اهڙي ماڻهو جي حيثيت سان ڪيو، جيڪو ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي صلاحيت کان محروم هجي. الله تعاليٰ جي نظر ۾ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ وارو اهو آهي، جيڪو بيهوده ڳالهه کي ڏسي ته ان کان منهن موڙي وڃي ۽ جڏهن ان جي سامهون سچي نصيحت اچي ته فوراً ان کي قبول ڪري وڃي.

هر ماڻهو ڪٽنب وارو آهي. هو پنهنجي ڪٽنب جو ”امام“ آهي. جيڪڏهن ان جي خاندان وارا متقي آهن ته هو متقين جو امام آهي ۽ جيڪڏهن ان جي خاندان وارا خدا فراموش آهن ته هو خدا فراموشن جو امام آهي، غافلن جو امام آهن.

اُولٰٓئِكَ يُجْزَوْنَ الْغُرْفَةَ بِمَا صَبَرُوْا وَ يُلَقَّوْنَ فِيْهَا تَحِيَّةً وَّ سَلٰمًا ﴿۷۵﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ
حَسُنَتْ مُسْتَقَرًّا وَّ مُقَامًا ﴿۷۶﴾ قُلْ مَا يَعْبَؤُا بِكُمْ رَبِّيْ لَوْ لَا دُعَآؤُكُمْ ۚ فَقَدْ كَذَّبْتُمْ
فَسَوْفَ يَكُوْنُ لِزَامًا ﴿۷۷﴾ ع

اِهي ئي ماڻهو آهن جن کي وڏيون ماڙيون ملنديون. ان ڪري جو انهن صبر ڪيو ۽ انهن ۾ سندن استقبال دعا ۽ سلام سان ٿيندو. اهي ان ۾ هميشہ رهندا. اهو ڇگو هنڌ آهي آرام جو ۽ ڇگو هنڌ آهي رهڻ لاءِ. چؤ تہ منهنجي رب کي توهان جي پرواهہ نہ آهي، جيڪڏهن توهان ان کي نہ پڪاريو. بس توهان ڪوڙو ڄاتو آهي تہ اها شيءِ جلد ٿي رهندي. ٧٦-٧٧

---

جنت جي بلند محلن ۾ اهي ماڻهو جاءِ لهندا جن دنيا ۾ پنهنجي پاڻ کي حق جي خاطر جهڪائي ورتو. انهن دنيا ۾ عاجزي اختيار ڪئي، ان ڪري آخرت ۾ سندن الله تعاليٰ انهن کي سرفرازي عطا فرمائيندو. اهائي اُها ڳالهہ آهي جنهن کي حضرت مسيحؑ هنن لفظن ۾ ارشاد فرمايو آهي: مبارڪ آهن اهي جيڪي دل جا غريب آهن، آسمان جي بادشاهي ۾ اهي ئي داخل ٿيندا.

اهي صفتون جيڪي ڪنهن ماڻهو کي جنت ۾ وني وڃڻ واريون آهن، انهن کي حاصل ڪرڻ ان ماڻهو لاءِ ممڪن هوندو آهي جيڪو صبر ڪرڻ لاءِ تيار هجي. جنت اُهو اعليٰ مقام آهي جتي ماڻهو جون سيئي خواهشون ڪامل طور تي پوريون ٿينديون. پر جنت ان ئي صابر انسان جي حصي ۾ ايندي جنهن دنيا ۾ پنهنجي خواهشن کي مڪمل طور روڪيو هجي. جنت صبر جي قيمت آهي ۽ جهنم ان لاءِ آهي جيڪو دنيا جي زندگي ۾ صبر جي مطلوب قيمت ڏيڻ لاءِ تيار نہ ٿيو هو.

آيَاتُهَا ٢٢٧ — (٢٦) سُوْرَةُ الشُّعَرَآءِ مَكِّيَّةٌ (٤٧) — رُكُوْعُهَا ١١

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

طٰسٓمّٓ ﴿١﴾ تِلۡكَ اٰيٰتُ الۡكِتٰبِ الۡمُبِيۡنِ ﴿٢﴾ لَعَلَّكَ بَاخِعٌ نَّفۡسَكَ اَلَّا يَكُوۡنُوۡا مُؤۡمِنِيۡنَ ﴿٣﴾ اِنۡ
نَّشَاۡ نُنَزِّلۡ عَلَيۡهِمۡ مِّنَ السَّمَآءِ اٰيَةً فَظَلَّتۡ اَعۡنَاقُهُمۡ لَهَا خٰضِعِيۡنَ ﴿٤﴾ وَ مَا يَاۡتِيۡهِمۡ مِّنۡ
ذِكۡرٍ مِّنَ الرَّحۡمٰنِ مُحۡدَثٍ اِلَّا كَانُوۡا عَنۡهُ مُعۡرِضِيۡنَ ﴿٥﴾ فَقَدۡ كَذَّبُوۡا فَسَيَاۡتِيۡهِمۡ اَنۡۢبٰٓؤُا
مَا كَانُوۡا بِهٖ يَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ﴿٦﴾

اَلۡمَنۡزِلُ الۡخَامِسُ (٥)

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

طا سين ميم (١) هي واضح ڪتاب جون آيتون آهن. شايد تون پاڻ کي هلاڪ ڪري وجهين. ان ڪري جو اُهي ايمان نہ ٿا آڻين. جيڪڏهن اسان چاهيون تہ انهن لاءِ آسمان مان نشاني نازل ڪريون. پوءِ سندن ڪنڌ ان جي اڳيان جهڪي وڃن. انهن وٽ رحمان طرفان ڪا بہ نئين نصيحت نہ ٿي اچي، جنهن ڪان اهي بي رخي نہ ڪندا هجن. پوءِ انهن ڪوڙو ڄاتو. هاڻي جلد انهن کي ان شيءِ جي حقيقت معلوم ٿي ويندي، جنهن جو اُهي مذاق اڏائيندا هئا. ١-٦

---

حق جي دعوت جڏهن ظاهر ٿيندي آهي تہ اها هميشہ واضح ڪلام ۾ ظاهر ٿيندي آهي. ڪنهن دعوت جو خدائي دعوت هئڻ جي هڪ اها بہ علامت آهي تہ ان جي هر ڳالهہ واضح هجي. ان جي هر ڳالهہ پڌرن دليلن جي بنياد تي هجي ۽ هڪ ماڻهو ان جو انڪار تہ ڪري سگهي، پر ڪو ماڻهو حقيقي طورتي اهو چوڻ جي قابل نہ هجي تہ ان جو پيغام منهنجي سمجهہ ۾ نہ آيو.

”شايد تون پنهنجي پاڻ کي هلاڪ ڪرين وجهندين.“ هي جملو ان ڪامل خيرخواهي کي ٻڌائي رهيو آهي جيڪا داعي جي دل ۾ مدعو جي حق ۾ هوندي آهي. دعوتي عمل خالص خيرخواهي جي جذبي سان پيدا ٿيندو آهي ان ڪري داعي جڏهن ڏسي ٿو ته مدعو ان جي پيغام کي نه مڃي رهيو آهي ته هو ان جي غم ۾ اهڙي طرح تڙپڻ لڳندو آهي، جهڙي طرح ماءُ پنهنجي ٻار جي ڀلائي لاءِ تڙپندي آهي. قرآن جو اهو جملو قرآن جي داعي جي خيرخواهي واري ڪيفيت جي تصديق آهي نه وري ان تي تنقيد.

حق جي دعوت الله تعاليٰ جي دعوت هوندي آهي. الله تعاليٰ اها طاقتور هستي آهي جنهن جي مقابلي ۾ ڪنهن جي لاءِ انڪار ۽ سرڪشي جي گنجائش نه هجي، پر اها صورتحال خود الله تعاليٰ جي پنهنجي منصوبي جي ڪري آهي، الله تعاليٰ کي پنهنجي جنت ۾ وسائڻ لاءِ اُهي قيمتي انسان گهربل آهن، جيڪي فريب ۽ دوکي کان ڀريل دنيا ۾ حق کي سڃاڻين ۽ ڪنهن دٻاءُ جي بغير ان جي اڳيان جهڪي وڃن. اهڙن انسانن جي چونڊ اهڙن ئي حالتن ۾ ڪري سگهجي ٿي جتي هر انسان کي فڪر ۽ عمل جي پوري آزادي ڏني وئي هجي.

اَوَ لَمۡ يَرَوۡا اِلَى الۡاَرۡضِ كَمۡ اَنۡۢبَتۡنَا فِيۡهَا مِنۡ كُلِّ زَوۡجٍ كَرِيۡمٍ ۝ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَ مَا كَانَ اَكۡثَرُهُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ ۝ وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الۡعَزِيۡزُ الرَّحِيۡمُ ۝

ڇا انهن زمين کي نه ڏٺو ته اسان ان ۾ هر جنس جون عمده شيون پيدا ڪيون آهن. بيشڪ ان ۾ نشاني آهي ۽ انهن مان اڪثر ماڻهو ايمان نه ٿا آڻين ۽ بيشڪ تنهنجو رب غالب آهي، رحم ڪرڻ وارو آهي. ۷-۹

---

مٽي مان سائي وڻ جو نڪرڻ اوترو ئي عجيب آهي، جيترو اهو واقعو ته مٽي مان اوچتو هڪ زنده اٺ نڪري اچي ۽ زمين تي هلڻ ڦرڻ لڳي. ماڻهو ان ٻي قسم جي واقعي کي ڏسي حيران ٿي ويندا، حالانڪ ان کان وڏو واقعو هر وقت زمين تي ٿي رهيو آهي، پر ان مان انهن کي ڪو سبق نه ٿو ملي.

الله تعاليٰ کي انسان کان جيڪا شيءِ گهربل آهي، اها هي ته هو معمولي واقعن ۾ لڪيل غيرمعمولي ڳالهه کي ڏسي. هو اسباب جي تحت پيش اچڻ واري واقعي ۾ الله تعاليٰ جي براه راست ڪارفرمائي جو مشاهدو ڪري وٺي. جيڪي ماڻهو ان اعليٰ بصيرت جو ثبوت ڏين، اهي ئي اُهي ماڻهو آهن جيڪي خدا تي ايمان آڻڻ وارا آهن ۽ اهي ئي اهي ماڻهو آهن، جيڪي الله تعاليٰ جي ابدي رحمتن ۾ داخل ڪيا ويندا.

وَ اِذۡ نَادٰى رَبُّكَ مُوۡسٰۤى اَنِ ائۡتِ الۡقَوۡمَ الظّٰلِمِيۡنَ ۝ قَوۡمَ فِرۡعَوۡنَ ؕ اَلَا يَتَّقُوۡنَ ۝ قَالَ رَبِّ اِنِّىۡۤ اَخَافُ اَنۡ يُّكَذِّبُوۡنِ ۝ وَ يَضِيۡقُ صَدۡرِىۡ وَ لَا يَنۡطَلِقُ لِسَانِىۡ فَاَرۡسِلۡ اِلٰى هٰرُوۡنَ ۝ وَلَهُمۡ عَلَىَّ ذَنۡۢبٌ فَاَخَافُ اَنۡ يَّقۡتُلُوۡنِ ۝

۽ جڏهن تنهنجي رب موسيٰ کي سڏيو ته تون ظالم قوم ڏانهن وڃ. فرعون جي قوم ڏانهن. ڇا اهي ڊڄن نٿا موسيٰ چيو اي منهنجا رب! آئون ڊڄان ٿو ته هو مون کي ڪوڙو سمجهندا ۽ منهنجو سينو تنگ ٿيندو آهي ۽ منهنجي زبان پوري نه ٿي هلي، ان ڪري تون هارون ڏانهن (پيغام) موڪل ۽ مون تي انهن جو هڪ ڏوهه به آهي، تنهن ڪري آئون ڊڄان ٿو ته هو مون کي قتل ڪري ڇڏيندا. ۱۰-۱۴

---

حضرت موسيٰ عليه السلام کي مصر جي فرعون کي توحيد جي دين جي تبليغ ڪرڻي هئي، جيڪو پنهنجي زماني ۾ دنيا جي سيني کان وڌي ۽ ترقي يافته سلطنت جو بادشاهه هو. ٻئي پاسي حضرت موسيٰ عليه السلام جو معاملو اهو هو ته هو بني اسرائيل جو هڪ فرد هو، جن جي حيثيت ان وقت جي مصر ۾ غلامن ۽ مزدورن جهڙي هئي. فرعون جي قوم جو هڪ ماڻهو حضرت موسيٰ عليه السلام جي هٿان بنا ڪنهن ارادي جي هلاڪ ٿي چڪو هو، وڌيڪ اهو ته حضرت موسيٰ عليه السلام پنهنجي اندر بيان جي قوت جي ڪمي محسوس ڪندا هئا. ان جي باوجود الله تعاليٰ پنهنجي پيغام جي پيغام رسائي لاءِ حضرت موسيٰ عليه السلام جو انتخاب فرمايو.

حقيقت اها آهي ته الله تعاليٰ ظاهر کان وڌيڪ ماڻهو جي باطن کي ڏسندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي اندر باطني جوهر موجود هجي ته ان ئي باطني جوهر جي بنياد تي ان کي پنهنجي دين لاءِ منتخب ڪري وٺندو آهي، باطني جوهر ماڻهو کي خود پيش ڪرڻو هوندو آهي، ان کان پوءِ جيڪڏهن ظاهر جي لحاظ کان ڪجهه ڪمي هجي ته اها الله تعاليٰ طرفان پوري ڪري ڇڏبي آهي.

قَالَ كَلَّا ۚ فَاذْهَبَا بِاٰيٰتِنَآ اِنَّا مَعَكُمْ مُّسْتَمِعُوْنَ ﴿١٥﴾ فَاْتِيَا فِرْعَوْنَ فَقُوْلَآ اِنَّا رَسُوْلُ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦﴾ اَنْ اَرْسِلْ مَعَنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿١٧﴾ قَالَ اَلَمْ نُرَبِّكَ فِيْنَا وَلِيْدًا وَّ لَبِثْتَ فِيْنَا مِنْ عُمُرِكَ سِنِيْنَ ﴿١٨﴾ وَفَعَلْتَ فَعْلَتَكَ الَّتِيْ فَعَلْتَ وَاَنْتَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٩﴾

فرمايو ته هرگز نه. پوءِ توهان ٻئي اسان جي نشانين سان وڃو. اسان توهان سان گڏ ٻڌندڙ آهيون. پوءِ توهان ٻئي فرعون وٽ وڃو ۽ چئو ته اسان جهانن جي رب جا رسول آهيون. پوءِ تون بني اسرائيل کي اسان سان گڏ وڃڻ ڏي. فرعون چيو ڇا اسان توکي ننڍپڻ ۾ نه نپايو هو ۽ تو پنهنجي عمر جا ڪيترائي ورهيه اسان وٽ گذاريا ۽ تو پنهنجو اهو ڪم ڪيو جو ڪري چڪين ۽ تون ناشڪرن مان آهين. ١٥-١٩

---

الله تعاليٰ جنهن ماڻهو کي پنهنجي نمائندگي لاءِ چونڊيندو آهي، اهو هر لحاظ کان الله تعاليٰ جي حفاظت ۾ هوندو آهي. ان ئي سان گڏ ان لاءِ وڌيڪ اهو اهتمام ڪيو ويندو آهي جو ان کي خاص نشانيون ڏنيون وينديون آهن، جيڪي ان ڳالهه جي پڌري علامت آهن ته ان جو معاملو الله تعاليٰ جو معاملو آهي. پر انسان ايترو ظالم آهي جو ان جي باوجود اعتراف نه ٿو ڪري، حضرت موسيٰ عليه السلام بني اسرائيل جي سلسلي ۾ فرعون کان جيڪو مطالبو ڪيو، ان جو تفصيلي مطلب ڇا هو، ان جي باري ۾ قرآن ۾ ڪا وضاحت موجود نه آهي. توريت جو بيان ان سلسلي ۾ هي آهي ته:

”موسيٰ عليه السلام فرعون کي چيو“ تون اسان کي ٽن ڏينهن جي منزل تائين صحرا ۾ وڃڻ ڏي، ته جيئن اسان پنهنجي خدا لاءِ قرباني ڪريون (٤: ١٨). منهنجي ماڻهن کي وڃڻ ڏي، ته جيئن هو صحرا ۾ منهنجي لاءِ عيد ڪن. (٥: ١). تڏهن فرعون موسيٰ عليه السلام ۽ هارون عليه السلام کي سڏائي چيو توهان وڃو ۽ پنهنجي خدا لاءِ هن ئي ملڪ ۾ قرباني ڪريو، موسيٰ عليه السلام چيو ايئن ڪرڻ مناسب نه آهي. ڇاڪاڻ ته اسان پنهنجي خدا لاءِ ان شيءِ جي قرباني ڪنداسون جنهن کان مصري نفرت ڪندا آهن. پوءِ جيڪڏهن اسان مصرين جي اکين جي اڳيان ان شيءِ جي قرباني ڪنداسون جنهن کان اهي نفرت ڪندا آهن ته ڇا هو

اسان کي سنگسار نہ ڪري وجهندا؟ تنهن ڪري اسان ٽن ڏينهن جي راهہ تي صحرا ۾ وڃي پنهنجي الله تعاليٰ لاءِ جيئن هو اسان کي حڪم ڏيندو قرباني ڪنداسون. (٨: ٢٥، ٢٧)

بائيبل جي بيان مان بظاهر ايئن معلوم ٿيندو آهي تہ حضرت موسيٰ عليہ السلام جو اهو سفر هجرت جي لاءِ نہ بلڪ تربيت جي لاءِ هو، مصر ۾ ڏيڍي کي مقدس مڃيو ويندو هو. صدين جي عمل ڪري بني اسرائيل بہ ان کان متاثر ٿي ويا هئا. پوءِ حضرت موسيٰ عليہ السلام چاهيو تہ بني اسرائيل کي ڪجھ ڏينهن لاءِ مصر جي مشرڪاڻي ماحول مان ٻاهر وٺي وڃي ۽ انهن کي آزاد فضا ۾ رکي سندن تربيت ڪن.

قَالَ فَعَلْتُهَآ اِذًا وَّ اَنَا مِنَ الضَّآلِّيْنَ ﴿٢٠﴾ فَفَرَرْتُ مِنْكُمْ لَمَّا خِفْتُكُمْ فَوَهَبَ لِيْ رَبِّيْ حُكْمًا وَّ جَعَلَنِيْ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٢١﴾ وَ تِلْكَ نِعْمَةٌ تَمُنُّهَا عَلَيَّ اَنْ عَبَّدْتَّ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿٢٢﴾

موسيٰ چيو ان وقت مون اُهو ڪيو هو (تنهن مهل) آئون بي سمجهن مان هئس. پوءِ مون کي توهان کان ڊپ لڳو تہ آئون توهان کان ڀڄي ويس. پوءِ مون کي منهنجي رب دانائي عطا فرمائي ۽ مون کي رسولن مان ڪيائين ۽ اِهو اُهو احسان آهي جا جنهن جو مون تي ٿورو رکين ٿو تہ بني اسرائيل کي غلام بڻائي ورتو اٿئي. ٢٠-٢٢

---

حضرت موسيٰ عليہ السلام فرعون جي سامهون توحيد جي دعوت پيش ڪئي ۽ عصا ۽ روشن هٿ جو معجزو ڏيکاريو. فرعون پاڻ عليہ السلام جي اهميت گهٽائڻ جي لاءِ ان وقت پاڻ عليہ السلام جي پوئين زندگي جون ڳالهيون ياد ڏياريون. هڪ ننڍپڻ ۾ حضرت موسيٰ عليہ السلام جو فرعون جي گهر ۾ پلجڻ. ٻيو هڪ قبطي جو قتل. حضرت موسيٰ عليہ السلام جواب ۾ فرمايو تہ تنهنجي گهر ۾ منهنجي پلجڻ جو سبب خود تنهنجي ظلم جي ڪري ٿيو تون بني اسرائيل جي ٻارن کي قتل ڪري رهيو هئين. ان ڪري منهنجي ماءُ مون کي ٽوڪري ۾ رکي درياءَ ۾ وجهي ڇڏيو ۽ ان کان پوءِ تو خود مون کي دريا مان ڪڍيو ۽ مون کي پنهنجي گهر ۾ رکيو. جيستائين قبطي جي قتل جو معاملو آهي تہ اهو مون ارادي سان نہ ڪيو. مون پنهنجي اسرائيلي ڀاءُ جي طرفان قبطي جي اڳرائي جو دفاع ڪيو هو ۽ اهو اتفاق سان مري ويو.

حضرت موسيٰ عليہ السلام قبطي جي قتل کان پوءِ مصر کي ڇڏي مدين هليا ويا هئا. اتي اهي ڪيترن ورهين تائين رهيا. شهر جي مصنوعي فضا مان نڪري ڳوٺ جي فطري فضا ۾ ڪجھ سال گذارڻ شايد پاڻ عليہ السلام جي تربيت لاءِ ضروري هئا، تنهن ڪري مدين کان نڪري جڏهن پاڻ عليہ السلام ٻيهر مصر وڃڻ لڳا تہ رستي ۾ الله تعاليٰ پاڻ عليہ السلام کي نبوت عطا فرمائي.

قَالَ فِرْعَوْنُ وَ مَا رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٣﴾ قَالَ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ مَا بَيْنَهُمَا ؕ اِنْ كُنْتُمْ مُّوْقِنِيْنَ ﴿٢٤﴾ قَالَ لِمَنْ حَوْلَهٗٓ اَلَا تَسْتَمِعُوْنَ ﴿٢٥﴾ قَالَ رَبُّكُمْ وَ رَبُّ اٰبَآىِٕكُمُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٢٦﴾ قَالَ اِنَّ رَسُوْلَكُمُ الَّذِيْٓ اُرْسِلَ اِلَيْكُمْ لَمَجْنُوْنٌ ﴿٢٧﴾ قَالَ رَبُّ الْمَشْرِقِ وَ الْمَغْرِبِ وَ مَا بَيْنَهُمَا ؕ اِنْ كُنْتُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿٢٨﴾ قَالَ لَىِٕنِ اتَّخَذْتَ اِلٰهًا غَيْرِيْ لَاَجْعَلَنَّكَ مِنَ الْمَسْجُوْنِيْنَ ﴿٢٩﴾ قَالَ اَوَ لَوْ جِئْتُكَ بِشَيْءٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٠﴾ قَالَ فَاْتِ بِهٖٓ اِنْ كُنْتَ مِنَ

الصّٰدِقِيْنَ ﴿٣١﴾ فَاَلْقٰى عَصَاهُ فَاِذَا هِيَ ثُعْبَانٌ مُّبِيْنٌ ﴿٣٢﴾ وَّ نَزَعَ يَدَهٗ فَاِذَا هِيَ بَيْضَآءُ
لِلنّٰظِرِيْنَ ﴿٣٣﴾ قَالَ لِلْمَلَاِ حَوْلَهٗٓ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ عَلِيْمٌ ﴿٣٤﴾ يُّرِيْدُ اَنْ يُّخْرِجَكُمْ مِّنْ
اَرْضِكُمْ بِسِحْرِهٖ ۖ فَمَاذَا تَاْمُرُوْنَ ﴿٣٥﴾

فرعون چيو تہ رب العالمين ڇا آهي. موسيٰ چيو آسمانن ۽ زمين جو رب ۽ جيڪي سندن وچ ۾ آهي، جيڪڏهن توهان يقين رکندڙ آهيو. فرعون پنهنجي آسپاس وارن کي چيو ڇا توهان ٻڌو نہ ٿا موسيٰ چيو تہ اُهو توهان جو بہ رب آهي ۽ توهان جي اڳين ابن ڏاڏن جو بہ. فرعون چيو تہ توهان جو اهو رسول جيڪو توهان ڏانهن موڪليو ويو آهي مجنون آهي. موسيٰ چيو اوڀر ۽ اولهہ جو رب ۽ جيڪو ڪجهہ ان جي وچ ۾ آهي جيڪڏهن توهان عقل رکو ٿا. فرعون چيو جيڪڏهن توهان مون کان سواءِ ڪنهن کي معبود بڻايو تہ آئون توهان کي قيد ڪري ڇڏيندس. موسيٰ چيو جيڪڏهن آئون ڪو واضح دليل پيش ڪريان تڏهن بہ. فرعون چيو پوءِ ان کي پيش ڪر، جيڪڏهن تون سچو آهين. پوءِ موسيٰ عليہ السلام پنهنجي لٺ اُڇلائي تہ اها يڪدم هڪ پڌرو ارڙ نانگ ٿي پئي ۽ ان پنهنجو هٿ ڪڍيو تہ اوچتو اهو ڏسڻ وارن لاءِ چمڪندڙ ٿي پيو. فرعون پنهنجي آسپاس جي سردارن کي چيو يقيناً اهو شخص هڪ ماهر جادوگر آهي. هو چاهي ٿو تہ پنهنجي جادو سان توهان کي توهان جي ملڪ مان ڪڍي ڇڏي. پوءِ توهان ڪهڙي صلاح ڏيو ٿا. ٢٣-٣٥

---

توهان جو رب العالمين ڇا آهي؟ فرعون جو اهو جملو اصل ۾ موسيٰ عليہ السلام جو مذاق اڏائڻ هو نہ وري ڪو سوال. پر حضرت موسيٰ عليہ السلام ڪنهن ڪاوڙ ۽ چڙ کان سواءِ سڪون سان ان جو جواب ڏنو. فرعون ٻيهر پنهنجي درٻارين کي اهو چئي ڪري حضرت موسيٰ عليہ السلام جو مذاق اڏايو تہ "ٻڌو ٿا" هي ڇا چئي رهيو آهي. حضرت موسيٰ عليہ السلام ان ڳالهہ کي بہ نظرانداز ڪيو ۽ پنهنجي ڪلام جو سلسلو جاري رکيو. فرعون ڪاوڙ ۾ اچي حضرت موسيٰ عليہ السلام کي ديوانو قرار ڏنو، پر پوءِ بہ حضرت موسيٰ عليہ السلام پنهنجي اعتدال ۽ سڪون کي نہ وڃايو. فرعون قيد جي ڌمڪي ڏني تہ حضرت موسيٰ عليہ السلام پنهنجي آخري دليل (معجزي) کي ان جي سامهون رکي ڇڏيو، پوءِ فرعون لاءِ وڌيڪ ڪجهہ چوڻ جي گنجائش نہ رهي، پر ان هار نہ مڃي، ان حضرت موسيٰ عليہ السلام جي اهميت گهٽائڻ لاءِ چيو اهو تہ ڪو خدائي واقعو نہ آهي. اهو تہ رڳو هڪ جادو آهي ۽ هر جادوگر اهڙو ڪرشمو ڏيکاري سگهي ٿو.

حضرت موسيٰ عليہ السلام جي دعوت سراسر پرامن دعوت هئي. ان جو سياست ۽ حڪومت سان براه راست ڪو تعلق نہ هو. پر فرعون پنهنجي قوم کي پاڻ عليہ السلام جي خلاف ڀڙڪائڻ لاءِ اهو چئي ڇڏيو تہ هو اسان کي اسان جي ملڪ مان ڪڍڻ چاهي ٿو. فرعون جي غيرسنجيدگي ان مان ئي پڌري آهي تہ حضرت موسيٰ عليہ السلام تہ خود پنهنجي قوم سان گڏ مصر کان ٻاهر وڃڻ جي ڳالهہ ڪئي هئي، پر فرعون ان کي ابتو ڪري اهو چئي ڇڏيو تہ موسيٰ عليہ السلام اسان کي مصر مان ٻاهر ڪڍڻ چاهي ٿو.

قَالُوْٓا اَرْجِهْ وَ اَخَاهُ وَ ابْعَثْ فِي الْمَدَآئِنِ حٰشِرِيْنَ ﴿٣٦﴾ يَاْتُوْكَ بِكُلِّ سَحَّارٍ عَلِيْمٍ ﴿٣٧﴾
فَجُمِعَ السَّحَرَةُ لِمِيْقَاتِ يَوْمٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿٣٨﴾ وَّ قِيْلَ لِلنَّاسِ هَلْ اَنْتُمْ مُّجْتَمِعُوْنَ ﴿٣٩﴾ لَعَلَّنَا
نَتَّبِعُ السَّحَرَةَ اِنْ كَانُوْا هُمُ الْغٰلِبِيْنَ ﴿٤٠﴾ فَلَمَّا جَآءَ السَّحَرَةُ قَالُوْا لِفِرْعَوْنَ اَئِنَّ لَنَا

لَا جْرًا اِنْ كُنَّا نَحْنُ الْغٰلِبِيْنَ ﴿٤١﴾ قَالَ نَعَمْ وَ اِنَّكُمْ اِذًا لَّمِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ﴿٤٢﴾

سردارن چيو تہ ان کي ۽ ان جي ياءُ کي مهلت ڏي ۽ شهرن ۾ ڪوٺيندڙن کي موڪل تہ هو تو وٽ سڀني ماهر جادوگرن کي آڻين. پوءِ جادوگر هڪ ڏينهن مقرر وقت تي جمع ڪيا ويا ۽ ماڻهن کي چيو ويو تہ ڇا توهان جمع ٿيندؤ، تہ جيئن اسان جادوگرن جو ساٿ ڏيون، جيڪڏهن اهي غالب رهڻ وارا هجن. پوءِ جڏهن جادوگر آيا تہ انهن فرعون کي چيو ڇا اسان لاءِ ڪو انعام آهي، جيڪڏهن اسان غالب رهون. ان چيو ها ۽ بيشڪ توهان انهيءَ مهل ويجهن مان ٿيندؤ. ٣٦-٤٢

---

فرعون ۽ ان جي درٻارين حضرت موسيٰؑ جي معاملي کي رڳو هڪ جادو جو معاملو سمجهيو، ان ڪري جادو جي ذريعي ان جي مقابلي ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو. انهن جي سوچ صرف ايستائين پهتي تہ موسيٰؑ جيڪڏهن ڪاٺي کي نانگ ٺاهي سگهي ٿو تہ اسان جا جادوگر بہ ڪاٺي کي نانگ ٺاهي سگهن ٿا. ان کان اڳيان جي انهن کي ڪا خبر نہ هئي. اهي موسيٰؑ جي معاملي کي انسان جو معاملو سمجهندا هئا، تنهن ڪري انسانن جي ذريعي ان جو مقابلو ڪرڻ چاهيو. انهن ان راز کي نہ سمجهيو تہ موسيٰ جو معاملو خدا جو معاملو آهي ۽ ڪير آهي جيڪو الله تعاليٰ سان مقابلو ڪري سگهي.

حضرت موسيٰؑ ۽ جادوگرن جي مقابلي لاءِ مصر جي ساليانٽي قومي ميلي جو ڏينهن مقرر ٿيو ۽ ان لاءِ هڪ وڏي ميدان جو انتخاب ڪيو ويو، تہ جيئن وڌ ۾ وڌ ماڻهو جمع ٿين ۽ وڌ ۾ وڌ جادوگرن جي حوصلہ افزائي ڪري سگهن.

قَالَ لَهُمْ مُّوْسٰۤى اَلْقُوْا مَاۤ اَنْتُمْ مُّلْقُوْنَ ﴿٤٣﴾ فَاَلْقَوْا حِبَالَهُمْ وَ عِصِيَّهُمْ وَ قَالُوْا بِعِزَّةِ
فِرْعَوْنَ اِنَّا لَنَحْنُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿٤٤﴾ فَاَلْقٰى مُوْسٰى عَصَاهُ فَاِذَا هِيَ تَلْقَفُ مَا يَاْفِكُوْنَ ﴿٤٥﴾
فَاُلْقِيَ السَّحَرَةُ سٰجِدِيْنَ ﴿٤٦﴾ قَالُوْۤا اٰمَنَّا بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٧﴾ رَبِّ مُوْسٰى وَ هٰرُوْنَ ﴿٤٨﴾

موسيٰ انهن کي چيو تہ توهان کي جيڪو ڪجهہ اڇلائڻو آهي اُڇلايو. پوءِ انهن پنهنجون رسيون ۽ لٺيون اڇلايون ۽ چيائون تہ فرعون جي عزت جو قسم اسان ئي غالب رهنداسون. پوءِ موسيٰ پنهنجي لٺ اڇلائي تہ اها اُتي جو اُتي جيڪو سانگ بڻائيندا ويا سو ڳهندي وئي. پوءِ جادوگر سجدي ۾ ڪري پيا. انهن چيو تہ اسان ايمان آندو رب العالمين تي، جيڪو موسيٰ ۽ هارون جو رب آهي. ٤٣-٤٨

---

جادوگرن پنهنجون رسيون ۽ لٺيون ميدان ۾ اڇلايون، تہ ڏسڻ وارن کي ايئن محسوس ٿيو ڄڻ تہ اهي نانگ بڻجي ميدان ۾ ڊوڙي رهيون آهن. پر اها ڪا حقيقي تبديلي نہ هئي. اهو رڳو هڪ نظربندي جو معاملو هو. ان جي ابتڙ حضرت موسيٰ جي لٺ جو نانگ بڻجڻ لٺ جو خدائي معجزي ۾ بدلجي وڃڻ هو، تنهن ڪري جڏهن حضرت موسيٰؑ جي لٺ نانگ بڻجي ميدان ۾ هليو تہ اچانڪ ان جادوگرن جي سڀ جادو کي باطل ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ جادوگرن جون رسيون ۽ لٺيون رڳو رسيون ۽ لٺيون ئي رهجي ويون، جيئن اهي حقيقت ۾ هيون.

جادوگرن شروع ۾ حضرت موسيٰؑ کي پاڻ وانگر هڪ جادوگر سمجهيو هو، پر تجربي سندن اکيون کولي ڇڏيون. اهي جادو جي فن کي چڱي طرح ڄاڻندا هئا، ان ڪري اهي فوراً سمجهي ويا

تہ هي جادوگري نہ آهي، بلڪ پيغمبري آهي، جيئن تہ پوءِ بہ انهن لاءِ اهو ممڪن هو تہ اهي وري بہ اعتراف نہ ڪن ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام کي رد ڪرڻ لاءِ فرعون وانگر ڪجهہ ڪوڙا لفظ ڳالهائي ڇڏين. پر هڪ سنجيده انسان لاءِ اهو ناممڪن هوندو آهي تہ حق جي پوري طرح واضح ٿي وڃڻ کان پوءِ بہ هو حق جو اعتراف نہ ڪري. جادوگر ان ئي قسم جا زنده انسان هئا. تنهن ڪري انهن فوراً حضرت موسيٰ عليه السلام جي صداقت جو اعتراف ڪري ورتو.

قَالَ اٰمَنْتُمْ لَهٗ قَبْلَ اَنْ اٰذَنَ لَكُمْ ۚ اِنَّهٗ لَكَبِيْرُكُمُ الَّذِيْ عَلَّمَكُمُ السِّحْرَ ۚ فَلَسَوْفَ
تَعْلَمُوْنَ ۬ لَاُقَطِّعَنَّ اَيْدِيَكُمْ وَ اَرْجُلَكُمْ مِّنْ خِلَافٍ وَّ لَاُوصَلِّبَنَّكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٤٩﴾ قَالُوْا
لَا ضَيْرَ ۫ اِنَّاۤ اِلٰى رَبِّنَا مُنْقَلِبُوْنَ ﴿٥٠﴾ اِنَّا نَطْمَعُ اَنْ يَّغْفِرَ لَنَا رَبُّنَا خَطٰيٰنَاۤ اَنْ كُنَّاۤ اَوَّلَ
ع ١٨ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٥١﴾

فرعون چيو توهان ان کي مڃي ورتو ان کان اڳ جو آئون توهان کي اجازت ڏيان. بيشڪ اهو توهان جو استاد آهي، جنهن توهان کي جادو سيکاريو آهي، تنهن ڪري هاڻي توهان کي خبر پئجي ويندي. آئون توهان جا هڪ پاسي جا هٿ ۽ ٻئي پاسي جا پير ڪٽنيدس ۽ توهان سڀني کي ڦاهي تي چاڙهيندس. انهن چيو تہ ڪو حرج نہ آهي. اسان پنهنجي مالڪ وٽ پهچي وينداسون. اسان اميد رکون ٿا تہ اسان جو رب اسان جي خطائن کي معاف ڪري ڇڏيندو، ان ڪري جو اسان پهريان ايمان آڻڻ وارا ٿياسون. ٤٩-٥١

---

جادوگرن جو حضرت موسيٰ عليه السلام تي ايمان آڻڻ فرعون لاءِ زبردست رسوائي جو سبب هو. هن ان جي بدلي لاءِ ايئن ڪيو جو ان سڄي واقعي کي سازش قرار ڏئي ڇڏيو، ان چيو تہ توهان موسيٰ عليه السلام سان مليل آهيو ۽ توهان چاٽي واٽي ان مقابلي ۾ شڪست جو مظاهرو ڪيو آهي، تہ جيئن موسيٰ عليه السلام جي وڏائي ماڻهن جي دلين ۾ قائم ٿي وڃي ۽ توهان لاءِ پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ آسان ٿي وڃي. فرعون جادوگرن کي پنهنجو اهو فيصلو ٻڌايو تہ توهان کي بغاوت جي سزا ڏني ويندي، توهان جا هٿ پير اُبتا سُبتا ڪٽي توهان کي سڀني جي سامهون ڦاهي تي چاڙهيو ويندو. ان سخت حڪم جي باوجود جادوگر بي همت نہ ٿيا. اهي ئي جادوگر جيڪي اڳ ۾ (آيت ٤١) فرعون جي عزت جو قسم کڻي رهيا هئا ۽ ان کان انعام ۽ اڪرام جي درخواست ڪري رهيا هئا، انهن بلڪل بيخوف ٿي ڪري چيو تہ تون جيڪو چاهين ڪر، هاڻي اسان موسيٰ عليه السلام جي دين کان ڦرڻ وارا نہ آهيون. ان اعليٰ همت جو سبب ايمان جي دريافت هئي، ماڻهو ڪنهن شيءِ جو نقصان ان وقت برداشت ڪندو آهي، جڏهن تہ ان شيءِ کي وڃائڻ کان پوءِ هو ان کان وڏي شيءِ حاصل ڪري رهيو هجي. ايمان کان پهرين جادوگرن وٽ سڀني کان وڏي شيءِ فرعون ۽ ان جو انعام هو، پر ايمان کان پوءِ انهن کي الله ۽ ان جي جنت سڀني کان وڏي شيءِ نظر اچڻ لڳي. اهو ئي سبب آهي تہ ايمان کان پهرين جنهن شيءِ جي قرباني اهي برداشت نہ پئي ڪري سگهيا، ايمان کان پوءِ نهايت خوشي سان اهي ان جي قرباني ڏيڻ تي راضي ٿي ويا.

وَ اَوْحَيْنَاۤ اِلٰى مُوْسٰۤى اَنْ اَسْرِ بِعِبَادِيْۤ اِنَّكُمْ مُّتَّبَعُوْنَ ﴿٥٢﴾ فَاَرْسَلَ فِرْعَوْنُ فِي الْمَدَآئِنِ

حٰشِرِيْنَ ﴿۵۳﴾ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ لَشِرْذِمَةٌ قَلِيْلُوْنَ ﴿۵۴﴾ وَ اِنَّهُمْ لَنَا لَغَآئِظُوْنَ ﴿۵۵﴾ وَ اِنَّا لَجَمِيْعٌ
حٰذِرُوْنَ ﴿۵۶﴾ فَاَخْرَجْنٰهُمْ مِّنْ جَنّٰتٍ وَّ عُيُوْنٍ ﴿۵۷﴾ وَّ كُنُوْزٍ وَّ مَقَامٍ كَرِيْمٍ ﴿۵۸﴾ كَذٰلِكَ ؕ وَ
اَوْرَثْنٰهَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿۵۹﴾ؕ

۽ اسان موسيٰ ڪي وحي موڪليو تہ منهنجي ٻانهن کي وٺي رات جو نڪر. بيشڪ توهان جو پيڇو ڪيو ويندو. پوءِ فرعون شهرن ۾ ڪوٺيندڙ موڪليا. اُهي ماڻهو ٿورڙي جماعت آهن ۽ انهن اسان کي ڪاوڙ ڏياري آهي ۽ اسان هڪ هٿيارن واري جماعت آهيون. پوءِ اسان انهن کي باغن ۽ چشمن مان ڪڍيو ۽ خزانن ۽ سٺن گهرن مان. اهڙي طرح اسان بني اسرائيل کي انهن شين جو وارث بڻائي ڇڏيو. ٥٢-٥٩

---

ورهين جي دعوتي جدوجهد جي باوجود فرعون حضرت موسيٰ عليه السلام تي ايمان نہ آندو. آخرڪار حجت پوري ٿيڻ کان پوءِ الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عليه السلام کي حڪم ڏنو تہ بني اسرائيل کي وٺي مصر کان ٻاهر هليا وڃن. فرعون کي جڏهن خبر پئي تہ بني اسرائيل اجتماعي طور تي مصر مان روانا ٿي ويا آهن تہ ان پنهنجي لشڪر سان انهن جو پيڇو ڪيو. بظاهر فرعون جو اهو قدم بني اسرائيل جي خلاف هو. پر عملاً اهو خود ان جي خلاف بڻجي ويو. اهڙي طرح فرعون ۽ ان جا ساٿي پنهنجن شاندار آبادين کي ڇڏي اتي پهچي ويا جتي انهن کي گڏجي سمنڊ ۾ غرق ٿيڻو هو.

الله تعاليٰ هڪ طرف فرعون ۽ ان جي ساٿين کي انهن جي ظلم جي ڪري پنهنجن نعمتن کان محروم ڪيو. جيڪي انهن کي مصر ۾ حاصل هيون. ٻئي پاسي بني اسرائيل جي صالحين سان اهو معاملو فرمايو تہ انهن کي هڪ مدت کان پوءِ فلسطين پهچايو ۽ اتي انهن کي اهي سيئي نعمتون وڌيڪ اضافي سان ڏنيون ويون.

فَاَتْبَعُوْهُمْ مُّشْرِقِيْنَ ﴿۶۰﴾ فَلَمَّا تَرَآءَ الْجَمْعٰنِ قَالَ اَصْحٰبُ مُوْسٰٓى اِنَّا لَمُدْرَكُوْنَ ﴿۶۱﴾ قَالَ
كَلَّا ۚ اِنَّ مَعِيَ رَبِّيْ سَيَهْدِيْنِ ﴿۶۲﴾ فَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى اَنِ اضْرِبْ بِّعَصَاكَ الْبَحْرَ ؕ فَانْفَلَقَ
فَكَانَ كُلُّ فِرْقٍ كَالطَّوْدِ الْعَظِيْمِ ﴿۶۳﴾ وَ اَزْلَفْنَا ثَمَّ الْاٰخَرِيْنَ ﴿۶۴﴾ وَ اَنْجَيْنَا مُوْسٰى وَ مَنْ
مَّعَهٗٓ اَجْمَعِيْنَ ﴿۶۵﴾ ثُمَّ اَغْرَقْنَا الْاٰخَرِيْنَ ﴿۶۶﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَ مَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ
ع ١٧ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۶۷﴾ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿۶۸﴾ؑ

پوءِ انهن سج اڀرندي ئي انهن جو پيڇو ڪيو. پوءِ جڏهن ٻئي جماعتون آمهون سامهون ٿيون تہ موسيٰ جي ساٿين چيو تہ اسان تہ بس پڪڙيا وياسون. موسيٰ چيو هرگز نہ. بيشڪ منهنجو رب مون سان گڏ آهي. هو مون کي راهہ ٻڌائيندو. پوءِ اسان موسيٰ کي وحي ڪيو تہ پنهنجي لٺ دريا کي هڻ. پوءِ هو ڦاٽي پيو ۽ هر حصو ايئن ٿي ويو جيئن وڏو جبل ۽ اسان ٻين ڌر کي بہ ان جي ويجهو پهچائي ڇڏيو ۽ اسان موسيٰ کي ۽ انهن سڀني کي جيڪي ان سان گڏ هئا بچائي ورتو. پوءِ ٻين کي غرق ڪري ڇڏيو. بيشڪ ان ۾ نشاني آهي ۽ انهن مان اڪثر مڃڻ وارا نہ آهن ۽ بيشڪ تنهنجو رب زبردست آهي، رحمت وارو آهي. ٦٠-٦٨

---

فرعون بني اسرائيل جو پيڇو ڪندي اتي پهچي ويو جتي بني اسرائيل جي اڳيان سمنڊ هو ۽ پٺيان فرعون ۽ ان جو لشڪر. بني اسرائيل ان نازڪ صورتحال کي ڏسي گهبرائجي ويا. بائيبل جي بيان مطابق هو موسيٰ عليه السلام کي چوڻ لڳا ”ڇا مصر ۾ قبرون نه هيون جو تون اسان کي مرڻ لاءِ رڻ ۾ وٺي آيو آهين.“

حضرت موسيٰ عليه السلام کي يقين هو ته الله تعاليٰ سندس مدد فرمائيندو. پوءِ الله تعاليٰ جي حڪم تي حضرت موسيٰ عليه السلام پنهنجي لٺ کي سمنڊ جي پاڻي تي هنيو. پاڻي وچان چيرجي ويو. ٻنهي پاسن ڏانهن اوچين ڀٽن وانگر پاڻي کڙو ٿي ويو ۽ وچان خشڪ رستو نڪري آيو. بني اسرائيل ان رستي مان پار ٿي اڳين ڪناري تي پهچي ويا.

اهو منظر ڏسي فرعون سمجهيو ته هو به ان کليل رستي مان پار ٿي سگهي ٿو. ان کي خبر نه هئي ته اهو رستو نه آهي، بلڪ الله تعاليٰ جو حڪم آهي. فرعون پنهنجي سڄي لشڪر سان ان جي اندر داخل ٿي ويو. جڏهن اهي ماڻهو وچ ۾ پهتا الله تعاليٰ جي حڪم سان سمنڊ جو پٽن وانگر بيٺل پاڻي ٻنهي طرفن کان ملي برابر ٿي ويو. فرعون پنهنجي سڄي لشڪر سان غرق ٿي ويو. هڪ ئي نقشي ۾ هڪ گروهه لاءِ نجات لکيل هئي ۽ ٻي گروهه لاءِ هلاڪت.

وَ اتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ اِبْرٰهِيْمَ (٦٩) اِذْ قَالَ لِاَبِيْهِ وَ قَوْمِهٖ مَا تَعْبُدُوْنَ (٧٠) قَالُوْا نَعْبُدُ اَصْنَامًا
فَنَظَلُّ لَهَا عٰكِفِيْنَ (٧١) قَالَ هَلْ يَسْمَعُوْنَكُمْ اِذْ تَدْعُوْنَ (٧٢) اَوْ يَنْفَعُوْنَكُمْ اَوْ يَضُرُّوْنَ (٧٣)
قَالُوْا بَلْ وَجَدْنَاۤ اٰبَآءَنَا كَذٰلِكَ يَفْعَلُوْنَ (٧٤)

۽ انهن کي ابراهيم جو قصو ٻڌاءِ. جڏهن ان پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم کي چيو ته توهان ڪنهن جي عبادت ڪريو ٿا. انهن چيو ته اسان بتن جي عبادت ڪندا آهيون ۽ سڄو ڏينهن انهن جا مجاور ٿي ويهندا آهيون. ابراهيم چيو ڇا اهي توهان جي ٻڌندا آهن. جڏهن توهان انهن کي سڏيندا آهيو يا اهي توهان کي نفعو ۽ نقصان پهچائيندا آهن. انهن چيو ته نه، بلڪ اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي ايئن ئي ڪندي ڏٺو. ٦٩-٧٤

---

هڪ پاسي حضرت ابراهيم عليه السلام جي قوم هئي جن پنهنجن ابن ڏاڏن کي جيڪو ڪجهه ڪندي ڏٺو، اهو ئي پاڻ به ڪرڻ لڳا. ٻئي پاسي حضرت ابراهيم عليه السلام هئا جن خود پنهنجي عقل سان سوچيو. انهن ماحول کان مٿانهون ٿي ڪري سچائي کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي. اهائي اُها خاص صفت آهي جيڪا ماڻهو کي الله تعاليٰ جي معرفت تائين پهچائيندي آهي ۽ ان ئي صفت ۾ جيڪو ڪمال درجي تي هوندو آهي. ان کي الله تعاليٰ پنهنجي دين جو پيغام پهچائڻ لاءِ چونڊيندو آهي. ”اسان پنهنجن بتن تي ڄمي رهنداسون“ جا لفظ ٻڌائين ٿا ته حضرت ابراهيم عليه السلام سان گفتگو ۾ انهن پنهنجي پاڻ کي بي دليل محسوس ڪيو، ان جي باوجود اُهي مڃڻ لاءِ تيار نه ٿيا. دليل جي سطح تي شڪست کائڻ جي باوجود اُهي تعصب جي سطح تي پنهنجي اَباڻي دين تي قائم رهيا.

قَالَ اَفَرَءَيْتُمْ مَّا كُنْتُمْ تَعْبُدُوْنَ (٧٥) اَنْتُمْ وَ اٰبَآؤُكُمُ الْاَقْدَمُوْنَ (٧٦) فَاِنَّهُمْ عَدُوٌّ لِّيْۤ
اِلَّا رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ (٧٧) الَّذِيْ خَلَقَنِيْ فَهُوَ يَهْدِيْنِ (٧٨) وَ الَّذِيْ هُوَ يُطْعِمُنِيْ وَ يَسْقِيْنِ (٧٩) وَ

اِذَا مَرِضۡتُ فَهُوَ يَشۡفِيۡنِ ﴿۸۰﴾ وَ الَّذِیۡ يُمِيۡتُنِیۡ ثُمَّ يُحۡيِيۡنِ ﴿۸۱﴾ وَ الَّذِیۡۤ اَطۡمَعُ اَنۡ يَّغۡفِرَ لِیۡ خَطِيۡٓـَٔتِیۡ يَوۡمَ الدِّيۡنِ ﴿۸۲﴾

ابراهيم چيو ڇا توهان انهن شين کي ڏٺو به آهي جن جي عبادت ڪريو ٿا، توهان به ۽ توهان جا وڏا به. اهي سڀ منهنجا دشمن آهن، سواءِ جهانن جي پالڻهار جي جنهن مون کي پيدا ڪيو. پوءِ اهوئي منهنجي رهنمائي فرمائي ٿو ۽ جيڪو مون کي کارائي ٿو ۽ پيئاري ٿو ۽ جڏهن آئون بيمار ٿيندو آهي ته اُهوئي مون کي شفا ڏي ٿو ۽ جيڪو مون کي موت ڏيندو. پوءِ مون کي زنده ڪندو ۽ اُهو جنهن کان آئون اميد رکان ٿو ته بدلي جي ڏينهن منهنجي خطا معاف ڪندو. ۷۵-۸۲

---

انسان هڪ مستقل هستي طور دنيا ۾ ايندو آهي. ان جي اندر عقل آهي جيڪو خير ۽ شر ۾ فرق ڪندو آهي، جيڪو جز مان ڪُل جي حقيقت تائين پهچندو آهي ۽ محسوس کان عقل تائين پهچندو آهي. ماڻهو لاءِ هتي نهايت اعليٰ درجي ۾ اهي شيون موجود آهن، جيڪي ان کي مسلسل رزق پهچائي رهيون آهن، ماڻهو بيمار ٿيندو آهي ته هو ڏسي ٿو ته هتي اهي سڀ اسباب مڪمل طور تي موجود آهن جن مان علاج جو فن وجود ۾ اچي سگهي ٿو. پوءِ ماڻهو ڏسي ٿو ته بظاهر سڄي آزادي جي باوجود هو موت جي سامهون بيوس آهي. هو هڪ خاص عمر کي پهچي مري ويندو آهي.

انهن واقعن جو تعلق هڪ الله تعاليٰ کان سواءِ ڪنهن ٻئي سان نه ٿو ٿي سگهي، پوءِ ڪيئن جائز آهي ته هڪ الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي عبادت ڪئي وڃي. وڌيڪ اهو ته ان معاملي ۾ ماڻهو کي آخري حدتائين سنجيده هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ اهي ٿي واقعا اهو به اشارو ڪري رهيا آهن ته جيڪو الله تعاليٰ اهو سڀ ڪجهه ڪري رهيو آهي، اهو انسان کان حساب وٺڻ جي لاءِ ان کي هڪ ڏينهن پاڻ وٽ سڏائيندو. موت ان ٿي سڏ جي عمل جو آغاز آهي.

رَبِّ هَبۡ لِیۡ حُكۡمًا وَّ اَلۡحِقۡنِیۡ بِالصّٰلِحِيۡنَ ﴿۸۳﴾ وَ اجۡعَلۡ لِّیۡ لِسَانَ صِدۡقٍ فِی الۡاٰخِرِيۡنَ ﴿۸۴﴾ وَ اجۡعَلۡنِیۡ مِنۡ وَّرَثَةِ جَنَّةِ النَّعِيۡمِ ﴿۸۵﴾ وَ اغۡفِرۡ لِاَبِیۡۤ اِنَّهٗ كَانَ مِنَ الضَّآلِّيۡنَ ﴿۸۶﴾ وَ لَا تُخۡزِنِیۡ يَوۡمَ يُبۡعَثُوۡنَ ﴿۸۷﴾ يَوۡمَ لَا يَنۡفَعُ مَالٌ وَّ لَا بَنُوۡنَ ﴿۸۸﴾ اِلَّا مَنۡ اَتَى اللّٰهَ بِقَلۡبٍ سَلِيۡمٍ ﴿۸۹﴾

اي منهنجا رب! مون کي حڪمت عطا فرما ۽ مون کي نيڪ ماڻهن ۾ شامل فرما ۽ پويان ايندڙن ۾ منهنجي چڱي يادگيري قائم رک ۽ مون کي نعمتن واري بهشت جي وارثن مان بڻاءِ ۽ منهنجي پيءُ کي معاف فرماءِ. بيشڪ اُهو گمراهن مان آهي ۽ مون کي ان ڏينهن رسوا نه ڪجاءِ، جڏهن ماڻهو اٿاريا ويندا جنهن ڏينهن نه مال ڪم ايندو ۽ نه اولاد. پر اُهو جيڪو الله وٽ قلب سليم کڻي ايندو. ۸۳-۸۹

---

هن آيت ۾ ”حڪم“ مان مراد صحيح فهم آهي. يعني شين کي ايئن ئي ڏسڻ جيئن ته اهي حقيقت ۾ آهن نبوت کان پوءِ ڪنهن الله تعاليٰ جي ٻانهي لاءِ اها سڀني کان وڏي نعمت آهي. ان ڪري حديث ۾ آيو آهي ته ”من يرد الله بهٖ خيراً يفقهُ في الدين“ (الله جنهن ماڻهو لاءِ خير جو ارادو ڪندو آهي ان کي دين جي سمجهه ڏئي ڇڏيندو آهي).

حضرت ابراهيمؑ پنهنجي دعا ۾ جيڪي ڳالهيون ڪيون، اهي سڀ قبول ٿي ويون، پر پنهنجي پيءُ ”آذر“ جي مغفرت جي دعا قبول نه ٿي. ان مان اندازو ٿيندو آهي ته دعا سراسر الله تعاليٰ ۽ ٻانهي جي وچ جو معاملو آهي. ڪنهن ماڻهو جي دعا ڪنهن ٻئي ماڻهو کي مغفرت نه ٿي ڏياري سگهي.

الله تعاليٰ وٽ اصل قيمت ”قلب سليم“ جي آهي. قلب سليم مان مراد صحيح يا پاڪ دل آهي. يعني اهو دل جيڪو شرڪ ۽ نفاق ۽ حسد ۽ بغض جي جذبات کان پاڪ هجي، ٻين لفظن ۾ الله پيدائشي طور تي جيڪو دل ماڻهو کي ڏنو هو، اهوئي دل کڻي هو الله تعاليٰ وٽ پهچي. ڪو ٻيو دل کڻي هو الله وٽ حاضر نه ٿئي.

وَ اُزْلِفَتِ الْجَنَّةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ۝٩٠ وَ بُرِّزَتِ الْجَحِيْمُ لِلْغٰوِيْنَ ۝٩١ وَ قِيْلَ لَهُمْ اَيْنَمَا كُنْتُمْ
تَعْبُدُوْنَ ۝٩٢ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ هَلْ يَنْصُرُوْنَكُمْ اَوْ يَنْتَصِرُوْنَ ۝٩٣ فَكُبْكِبُوْا فِيْهَا هُمْ وَ
الْغَاوٗنَ ۝٩٤ وَ جُنُوْدُ اِبْلِيْسَ اَجْمَعُوْنَ ۝٩٥ قَالُوْا وَ هُمْ فِيْهَا يَخْتَصِمُوْنَ ۝٩٦ تَاللّٰهِ اِنْ كُنَّا
لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ۝٩٧ اِذْ نُسَوِّيْكُمْ بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝٩٨ وَ مَاۤ اَضَلَّنَاۤ اِلَّا الْمُجْرِمُوْنَ ۝٩٩ فَمَا لَنَا
مِنْ شَافِعِيْنَ ۝١٠٠ وَ لَا صَدِيْقٍ حَمِيْمٍ ۝١٠١ فَلَوْ اَنَّ لَنَا كَرَّةً فَنَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ۝١٠٢ اِنَّ فِيْ
ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَ مَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۝١٠٣ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ۝١٠٤ ع ٥

۽ جنت ڊڄڻ وارن جي ويجهي آندي ويندي ۽ جهنم گمراهن جي لاءِ ظاهر ڪئي ويندي ۽ کين چيو ويندو، ڪٿي آهن اهي جن جي توهان عبادت ڪندا هئا، الله کان سواءِ ڇا اُهي توهان جي مدد ڪندا يا بدلو وٺي سگهن ٿا، پوءِ ان ۾ اونڌو ڪري وڌا ويندا اهي ۽ گمراه ماڻهو ۽ ابليس جو لشڪر سڀ جا سڀ، اهي ان ۾ پاڻ ۾ جهڳڙو ڪندي پيا چوندا الله جو قسم، اسان پڌري گمراهي ۾ هئاسون، جڏهن اسان توهان کي جهانن جي رب جي برابر ٿي ڪيوسون، ۽ اسان کي ڏوهارين رستي کان گمراه ڪيو. پوءِ هاڻي اسان جو نه ڪو سفارشي آهي ۽ نه وري ڪو مخلص دوست، پوءِ ڪاش! اسان کي ٻيهر واپس وڃڻ ملي ته اسان ايمان وارن مان ٿيون. بيشڪ ان ۾ نشاني آهي ۽ انهن مان اڪثر ماڻهو ايمان آڻڻ وارا نه آهن ۽ بيشڪ تنهنجو رب زبردست آهي، رحمت وارو آهي. ٩٠-١٠٤

---

ماڻهو جي جنت ۽ جهنم ماڻهو کان پري نه آهي، ٻنهي جي وچ ۾ صرف هڪ پردو حائل آهي، قيامت جڏهن ان پردي کي هٽائيندي ته هر ماڻهو ڏسندو ته هو پنهنجي جنت يا پنهنجي جهنم جي ڪناري تي بيٺو هو. جڏهن ته غافل انسان ان کي گهڻو پري جي شيءِ سمجهي رهيو هو.

”ڏوهارين“ مان مراد هتي ڪوڙا ليڊر آهن، اهي ماڻهو پنهنجي سماج ۾ وڏائي جو مقام حاصل ڪيل هئا. انهن حق جي دعوت کي رڳو ان ڪري قبول نه ڪيو ته ان کان پوءِ سندن وڏائي ختم ٿي ويندي. انهن جو تڪبر انهن لاءِ حق جي اعتراف ۾ رڪاوٽ بڻجي ويو. ان جو نتيجو اهو ٿيو جو انهن جي پيروي ڪرڻ وارا به حق جي دعوت کي قابل لحاظ شيءِ نه سمجهي سگهيا.

”ليڊرن کي رب العالمين جي برابر ڪرڻ“ اهو آهي ته ليڊرن جي ڳالهه کي اهو درجو ڏنو وڃي

جيڪو جهان جي رب جي ڳالھ جو درجو هوندو آهي. مفسر ابن ڪثير ان جي تشريح هنن لفظن ۾ ڪئي آهي ”اي نجعل امرکم مطاعاً کما يطاع امر رب العالمين“ (يعني اسان توهان جي حڪم جي اطاعت اهڙي طرح ڪندا رهياسون، جهڙي طرح رب العالمين جي حڪم جي اطاعت ڪئي ويندي آهي). اهي ماڻهو جيڪي دنيا ۾ پنهنجن ليڊرن جي ڳالھ کي الله تعاليٰ جي ڳالھ وانگر مڃيندا هئا، اهي آخرت ۾ پنهنجن ليڊرن کي خود پنهنجي زبان سان مجرم چوندا. پر ان جو انهن کي ڪو فائدو نہ ملندو. ڇاڪاڻ ڌوهاري ۽ حق پرست کي سڃاڻڻ جي جاءِ دنيا هئي نہ وري آخرت.

كَذَّبَتْ قَوْمُ نُوْحِ ِ الْمُرْسَلِيْنَ ۝١٠٥ اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ نُوْحٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ۝١٠٦ اِنِّيْ لَكُمْ
رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ۝١٠٧ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوْنِ ۝١٠٨ وَ مَاۤ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا
عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝١٠٩ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوْنِ ۝١١٠ قَالُوْۤا اَنُؤْمِنُ لَكَ وَ اتَّبَعَكَ الْاَرْذَلُوْنَ ۝١١١
قَالَ وَ مَا عِلْمِيْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝١١٢ اِنْ حِسَابُهُمْ اِلَّا عَلٰى رَبِّيْ لَوْ تَشْعُرُوْنَ ۝١١٣ وَ مَاۤ اَنَا
بِطَارِدِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۝١١٤ اِنْ اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ۝١١٥

نوح جي قوم رسولن کي ڪوڙو ڀانئيو. جڏهن سندن ڀاءُ نوح انهن کي چيو ڇا توهان ڊڄو نہ ٿا؟ آئون توهان لاءِ هڪ امانت دار رسول آهيان. پوءِ توهان الله کان ڊڄو ۽ منهنجي ڳالھ مڃو ۽ آئون ان تي توهان کان ڪو اجر نہ ٿو گهران. منهنجو اجر تہ صرف الله رب العالمين جي ذمي آهي. پوءِ توهان الله کان ڊڄو ۽ منهنجي ڳالھ مڃو. انهن چيو ڇا اسان توکي مڃي وٺون حالانڪ تنهنجي پيروي ڪندڙ حقير ماڻهو آهن. نوح چيو مون کي ڪهڙي خبر جيڪو هو ڪندا رهيا آهن. سندن حساب تہ منهنجي رب جي ذمي آهي. جيڪڏهن توهان سمجهو ۽ آئون مؤمنن کي پري ڪرڻ وارو نہ آهيان. آئون تہ رڳو هڪ پڌرو ڊيڄارڻ وارو آهيان. ١٠٥-١١٥

---

حضرت نوح عليه السلام جي قوم ان کي ڪوڙو ڄاتو حالانڪ ان جي دعوت ۾ دليل جو وزن پوري طرح موجود هو ۽ ان ئي سان گڏ سندس سيرت ان جي صداقت جي تصديق ڪري رهي هئي، حضرت نوح جي باري ۾ سندس قوم جا ماڻهو ڄاڻندا هئا تہ هو هڪ سچو ۽ امانت دار ماڻهو آهي. هو ڄاڻندا هئا تہ حضرت نوح جيڪا دعوت ڏئي رهيا آهن، ان سان سندس ڪو ذاتي مفاد وابستہ نہ آهي، اهي خاصيتون حضرت نوح عليه السلام کي سنجيده ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي هيون ۽ جيڪو ماڻهو مخلوق جي باري ۾ سنجيده هجي. اهو خالق جي باري ۾ غير سنجيده نہ ٿو ٿي سگهي.

حضرت نوح عليه السلام جي قوم پاڻ عليه السلام جي دعوت کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. حالانڪ ان انڪار لاءِ انهن وٽ غيرمتعلق ڳالهين کان سواءِ ڪا شيءِ موجود نہ هئي. ڪنهن دعوت کي رد ڪرڻ لاءِ اهو چوڻ تہ ان جو ساٿ ڏيڻ وارا معمولي حيثيت جا ماڻهو آهن، هي دعوت جي ترديد نہ آهي بلڪ خود پنهنجي ترديد آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جو مطلب اهو آهي تہ ماڻهو دليل جي لحاظ کان ان دعوت جي حق ۾ ڪجھ چوڻ جي گنجائش نہ ٿو لهي. پر هو رڳو ان لاءِ ان جو ساٿ ڏيڻ نہ ٿو چاهي جو ان ۾ معمولي حيثيت جا ماڻهو گڏ ٿي ويا آهن، ان کي اها اميد نہ هوندي آهي تہ ان جماعت ۾ شامل ٿيڻ کان پوءِ ان کي ڪو وڏو مقام حاصل ٿي سگهندو.

قَالُوْا لَىِٕنْ لَّمْ تَنْتَهِ یٰنُوْحُ لَتَكُوْنَنَّ مِنَ الْمَرْجُوْمِیْنَ ﴿١١٦﴾ قَالَ رَبِّ اِنَّ قَوْمِیْ كَذَّبُوْنِ ﴿١١٧﴾
فَافْتَحْ بَیْنِیْ وَ بَیْنَهُمْ فَتْحًا وَّ نَجِّنِیْ وَ مَنْ مَّعِیَ مِنَ الْمُؤْمِنِیْنَ ﴿١١٨﴾ فَاَنْجَیْنٰهُ وَ مَنْ مَّعَهٗ
فِی الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ ﴿١١٩﴾ ثُمَّ اَغْرَقْنَا بَعْدُ الْبٰقِیْنَ ﴿١٢٠﴾ اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَاٰیَةً ؕ وَ مَا كَانَ
اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِیْنَ ﴿١٢١﴾ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِیْزُ الرَّحِیْمُ ﴿١٢٢﴾ ع ١٨ ١٠

انھن چيو اي نوح! جيڪڏھن تون باز نہ آئين تہ ضرور سنگسار ڪيو ويندين. نوح چيو تہ اي منھنجا رب! منھنجي قوم مون کي ڪوڙو ڄاتو. پوءِ تون منھنجي ۽ انھن جي وچ ۾ پڌرو فيصلو فرمائي ڇڏ ۽ مون کي ۽ جيڪي مؤمن مون سان گڏ آھن، انھن کي نجات ڏي. پوءِ اسان ان کي ۽ سندس ساٿين کي ھڪ ڀريل ٻيڙي ۾ بچائي ورتو. پوءِ ان کان بعد اسان باقي ماڻھن کي غرق ڪري ڇڏيو. يقيناً ان جي اندر نشاني آھي ۽ انھن مان اڪثر ماڻھو مڃڻ وارا نہ آھن ۽ بيشڪ تنھنجو رب ئي زبردست آھي، رحمت وارو آھي. ١١٦-١٢٢

---

حضرت نوحؑ صدين تائين پنھنجي قوم جي ماڻھن کي حق ڏانھن سڏيندا رھيا، پر انھن پانؑ جي ڳالھہ نہ مڃي، ايستائين جو انھن فيصلو ڪيو تہ سيئي ماڻھو ملي نوحؑ کي پٿر ھڻن، ايستائين جو ھو ھلاڪ ٿي وڃي ۽ پوءِ صبح ۽ شام ان جون ڳالھيون ٻڌڻ کان نجات ملي وڃي. جڏھن قوم ان حدتائين پھچي وئي تہ الله تعاليٰ جو فيصلو ٿيو تہ ھاڻي ان قوم کي ختم ڪيو وڃي. الله تعاليٰ جو اھوئي فيصلو ھو جيڪو حضرت نوح جي دعا جي شڪل ۾ ظاھر ٿيو.

الله جي حڪم سان حضرت نوحؑ ھڪ وڏي ٻيڙي ٺاھي. ان ۾ حضرت نوحؑ جا سيئي ساٿي ۽ ھر قسم جي جانورن جو ھڪ ھڪ جوڙو رکيو ويو. ان کان پوءِ الله شديد طوفان موڪليو، زمين مان پاڻي نڪرڻ لڳو ۽ مٿان مسلسل مينھن پوڻ لڳو، ايستائين جو ٻيڙي کان سواءِ سڄي زنده مخلوق فنا ٿي وئي، اھو ھڪ تاريخي مثال آھي، جنھن مان ظاھر ٿيندو آھي تہ ھن دنيا ۾ نجات سچي ايمان وارن لاءِ آھي ۽ باقي ماڻھن لاءِ ھتي ھلاڪت کان سواءِ ڪجھ ٻيو مقدر نہ آھي.

كَذَّبَتْ عَادُ اِۨلْمُرْسَلِیْنَ ﴿١٢٣﴾ اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ هُوْدٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٢٤﴾ اِنِّیْ لَكُمْ رَسُوْلٌ
اَمِیْنٌ ﴿١٢٥﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِیْعُوْنِ ﴿١٢٦﴾ وَ مَاۤ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَیْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِیَ اِلَّا عَلٰی رَبِّ
الْعٰلَمِیْنَ ﴿١٢٧﴾ اَتَبْنُوْنَ بِكُلِّ رِیْعٍ اٰیَةً تَعْبَثُوْنَ ﴿١٢٨﴾ وَ تَتَّخِذُوْنَ مَصَانِعَ لَعَلَّكُمْ
تَخْلُدُوْنَ ﴿١٢٩﴾ وَ اِذَا بَطَشْتُمْ بَطَشْتُمْ جَبَّارِیْنَ ﴿١٣٠﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِیْعُوْنِ ﴿١٣١﴾ وَ اتَّقُوا
الَّذِیْۤ اَمَدَّكُمْ بِمَا تَعْلَمُوْنَ ﴿١٣٢﴾ اَمَدَّكُمْ بِاَنْعَامٍ وَّ بَنِیْنَ ﴿١٣٣﴾ وَ جَنّٰتٍ وَّ عُیُوْنٍ ﴿١٣٤﴾ اِنِّیْۤ اَخَافُ
عَلَیْكُمْ عَذَابَ یَوْمٍ عَظِیْمٍ ﴿١٣٥﴾

عاد رسولن کي ڪوڙو ڄاتو. جڏھن تہ سندن ڀاءُ ھود انھن کي چيو تہ ڇا توھان ڊڄو نہ ٿا. آئون توھان لاءِ ھڪ امين رسول آھيان. پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منھنجي ڳالھہ مڃو ۽ آئون ان تي توھان کان ڪو بدلو نہ ٿو گھران. منھنجو بدلو صرف رب العالمين جي ذمي آھي. ڇا توھان ھر مٿانھين زمين تي اجائي ھڪ يادگار عمارت

ٻڌايو تا ۽ وڏا وڏا محل تعمير ڪندا آهيو، ڄڻ ته توهان ڪي هتي هميشه رهڻو آهي ۽ جڏهن ڪنهن تي دست
درازي ڪندا آهيو زبردست ٿي ڪندا آهيو. پوءِ توهان الله کان ڊڄو ۽ منهنجي ڳالهه مڃو ۽ ان الله کان ڊڄو
جنهن انهن شين سان توهان جي مدد ڪئي جن کي توهان ڄاڻو ٿا ان توهان جي مدد ڪئي چوپائي مال ۽ اولاد
سان. ۽ باغن ۽ چشمن سان آئون توهان تي هڪ وڏي ڏينهن جي عذاب کان ڊڄان ٿو. ١٢٣-١٣٥

---

عاد اها قوم آهي جنهن کي قوم نوح جي تباهي کان پوءِ دنيا ۾ عروج مليو (الاعراف ٦٩). ان قوم کي الله تعاليٰ صحت، خوشحالي ۽ اقتدار ۽ هر شيءِ عطا فرمائي. انهن شين تي جيڪڏهن هو شڪر ڪن ها ته انهن جي اندر عاجزي جو جذبو پيدا ٿئي ها، پر انهن ان تي فخر ڪيو. نتيجو اهو نڪتو ته انهن کي پنهنجي وسيلن جو سيني کان پسنديده استعمال اهو سمجهه ۾ آيو ته هو پنهنجي زندگي جي معيار کي وڌائين ۽ پنهنجي نالي تي يادگيريون ٺاهين، هو پنهنجي عظمت جي اِظهار لاءِ وڏيون عمارتون قائم ڪرڻ کي سيني کان وڏو ڪم سمجهڻ لڳا.

اهڙن ماڻهن جو حال اهو ٿي ويندو آهي ته جڏهن انهن کي ڪنهن سان اختلاف يا شڪايت ٿي وڃي ته انهن جي تڪبر واري نفسيات انهن کي ڪنهن حد تي رُڪجڻ نٿي ڏي. هو ان جي خلاف هر بي انصافي کي پاڻ لاءِ جائز ڪري وٺندا آهن، هو ان کي پنهنجي پوري طاقت سان ڪچلي ڇڏڻ چاهيندا آهن، دنيا ۾ طاقت انهن کي آخرت جي پڪڙ کان بي خوف ڪري ڇڏيندي آهي ۽ جيڪو ماڻهو پنهنجي پاڻ کي آخرت جي پڪڙ کان محفوظ سمجهي وٺي ته پوءِ ٻيا ماڻهو ان جي پڪڙ کان محفوظ نه ٿا رهي سگهن.

جن ماڻهن کي خوشحالي ۽ برتري حاصل ٿي وڃي، انهن جي اندر پنهنجي باري ۾ ڪوڙو اعتماد پيدا ٿي ويندو آهي، اهو ڪوڙو اعتماد انهن کي پاڻ کان ٻاهر جي صداقت کي سمجهڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي ويندو آهي. هو نصيحت ڪرڻ واري جي ڳالهه کي اهميت نه ٿا ڏين، چاهي اها ڪيتري ئي قابل لحاظ ڇو نه هجي، چاهي اهو الله جو رسول ئي ڇو نه هجي. اهڙا ماڻهو ان وقت مڃيندا آهن جڏهن الله جو عذاب انهن کي مڃڻ تي مجبور ڪري ڇڏي.

قَالُوْا سَوَآءٌ عَلَيْنَآ اَوَ عَظْتَ اَمْ لَمْ تَكُنْ مِّنَ الْوٰعِظِيْنَ ﴿١٣٦﴾ اِنْ هٰذَآ اِلَّا خُلُقُ
الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٣٧﴾ وَ مَا نَحْنُ بِمُعَذَّبِيْنَ ﴿١٣٨﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَاَهْلَكْنٰهُمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَ مَا كَانَ
اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٣٩﴾ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٤٠﴾ ع ٧ ١٨ ١١

انهن چيو اسان لاءِ برابر آهي چاهي تون نصيحت ڪرين يا نصيحت ڪرڻ وارن مان نه ٿئين. اها ته بس اڳين
ماڻهن جي هڪ عادت آهي ۽ اسان تي هرگز عذاب اچڻ وارو نه آهي، پوءِ انهن ان کي ڪوڙو ڀانئيو، پوءِ اسان
انهن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو. بيشڪ ان جي اندر نشاني آهي ۽ انهن ۾ اڪثر ماڻهو مڃڻ وارا نه آهن ۽ بيشڪ
تنهنجو رب ئي غالب آهي رحمت وارو آهي. ١٣٦-١٤٠

---

عاد جي قوم جو ڪوڙو اعتماد انهن لاءِ پيغمبر جي ڳالهه کي مڃڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي ويو، ايستائين جو اهي ان جي پيغام جو مذاق اڏائيندا رهيا. اهي دنيا ۾ پنهنجي خوشحالي کي ان ڳالهه جي

علامت سمجهي رهيا هئا ته اهي الله جا انعام يافته آهن. اهي ماڻهو ان راز کي نه سمجهي سگهيا ته دنيا جو مال متاع ماڻهو کي امتحان لاءِ ملندو آهي نه وري ان جي استحقاق جي ڪري.

جڏهن آخري طورتي ثابت ٿي ويو ته اهي حق کي مڃڻ وارا نه آهن ته الله تعاليٰ طوفاني هوا ۾ سخت مينهن موڪليو. جيڪو هڪ هفتي تائين مسلسل پنهنجي پوري طاقت سان رات ڏينهن جاري رهيو. نتيجو اهو ٿيو ته سڄي قوم پنهنجي شاندار تهذيب سوڌو برباد ٿي رهجي وئي. ان قوم جو نشان هاڻي رڳو اهو رڻ آهي جيڪو موجوده عمان ۽ يمن جي وچ ۾ پري تائين پکڙيل آهي. قديم زماني ۾ اهو علائقو نهايت سرسبز ۽ آباد هو، پر هاڻي اتي ڪنهن قسم جي زندگي نظر نه ٿي اچي.

كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٤١﴾ اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ صٰلِحٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٤٢﴾ اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ
اَمِيْنٌ ﴿١٤٣﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوْنِ ﴿١٤٤﴾ وَ مَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى
رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٤٥﴾ اَتُتْرَكُوْنَ فِيْ مَا هٰهُنَآ اٰمِنِيْنَ ﴿١٤٦﴾ فِيْ جَنّٰتٍ وَّ عُيُوْنٍ ﴿١٤٧﴾ وَّ زُرُوْعٍ وَّ نَخْلٍ
طَلْعُهَا هَضِيْمٌ ﴿١٤٨﴾ وَ تَنْحِتُوْنَ مِنَ الْجِبَالِ بُيُوْتًا فٰرِهِيْنَ ﴿١٤٩﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوْنِ ﴿١٥٠﴾ وَ
لَا تُطِيْعُوْٓا اَمْرَ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿١٥١﴾ الَّذِيْنَ يُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ وَ لَا يُصْلِحُوْنَ ﴿١٥٢﴾

ثمود رسولن کي ڪوڙو ڄاتو. جڏهن سندن ڀاءُ صالح انهن کي چيو ڇا توهان ڊڄو نه ٿا. آئون توهان لاءِ هڪ امين رسول آهيان، پوءِ توهان الله کان ڊڄو ۽ منهنجي ڳالهه مڃو ۽ آئون توهان کان ان تي ڪو اجر نه ٿو گهران. منهنجو اجر صرف رب العالمين جي ذمي آهي. ڇا توهان کي انهن شين ۾ بي فڪري سان رهڻ ڏنو ويندو، جيڪي هتي آهن باغن ۽ چشمن ۾ ۽ ڪڄين ۾، جن جا گوشا نرم ۽ نازڪ آهن ۽ توهان جبل ٽُڪي گهر ٺاهيندا آهيو ۽ فخر ڪندا آهيو، پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجي ڳالهه مڃو ۽ حد کان لنگهي وڃڻ وارن جي ڳالهه نه مڃو، جيڪي زمين ۾ فساد وجهندا آهن ۽ اصلاح نه ڪندا آهن. ١٤١-١٥٢

---

عاد کان پوءِ ٻي قوم جنهن کي عروج مليو اها ثمود جي قوم هئي (الاعراف ٧٤). ان قوم جون آباديون خيبر ۽ تبوڪ جي وچ واري علائقي ۾ هيون. جنهن کي الحجر چيو ويندو آهي. ان قوم کي به زبردست خوشحالي ۽ غلبو حاصل ٿيو، پر ان جي ماڻهن جي به سڄي توجهه رڳو مادي ترقي ڏانهن لڳي وئي. جبلن کي ٽڪي وڏي ڪاريگري سان وڏا وڏا گهر ٺاهڻ جو فن گهڻو ڪري ان ئي قوم شروع ڪيو. جنهن جي وڌيڪ ترقي يافته صورت ايجنتا ۽ ايلورا جي غارن جي شڪل ۾ ملندي آهي.

هر ماڻهو ۽ هر جماعت جنهن کي دنيا جو سازو سامان ملندو آهي، اهو ان غلط فهمي ۾ پئجي ويندو آهي ته اهو سڀ ان جو حق آهي ۽ هو جهڙي طرح چاهي ان کي استعمال ڪري، پر اها سيني کان وڏي ڀل آهي. حقيقت اها آهي ته دنيا جا اسباب صرف امتحان جي مدت تائين جي لاءِ آهن. ان کان پوءِ اُهي اسباب اهڙي طرح کسجي ويندا جو ماڻهو وٽ انهن مان ڪجهه به باقي نه رهندو.

حد کان لنگهندڙ اهو ماڻهو آهي جنهن وٽ دولت اچي ته هو شڪر جي بجاءِ فخر جي نفسيات ۾ مبتلا ٿي وڃي. ان کي اقتدار ملي ته عاجزي جي بجاءِ تڪبر ڪرڻ لڳي. ان کي ڪو عهدو ڏنو وڃي ته

هو ان کي خدمت جي بجاءِ پنهنجو نالو بلند ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري. موقعن جو اهوئي غلط استعمال آهي، جيڪو معاشري ۾ بگاڙ ۽ فساد پيدا ڪندو آهي. ثمود جي قوم جا وڏا ماڻهو ان ئي قسم جي اسراف ۾ مبتلا هئا ۽ سندن عوام سندن پيروي ڪري رهي هئي. پيغمبر انهن کي تنبيهه ڪئي ته اهي ماڻهو جن کي توهان وڏو سمجهو ٿا، اهي خود بي راهه آهن. پوءِ اهي توهان کي ڪيئن رستو ڏيکاريندا.

قَالُوْۤا اِنَّمَاۤ اَنْتَ مِنَ الْمُسَحَّرِيْنَ ﴿۱۵۳﴾ مَاۤ اَنْتَ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا ۖۚ فَاْتِ بِاٰيَةٍ اِنْ كُنْتَ مِنَ
الصّٰدِقِيْنَ ﴿۱۵۴﴾ قَالَ هٰذِهٖ نَاقَةٌ لَّهَا شِرْبٌ وَّ لَكُمْ شِرْبُ يَوْمٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿۱۵۵﴾ وَ لَا تَمَسُّوْهَا
بِسُوْٓءٍ فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابُ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿۱۵۶﴾ فَعَقَرُوْهَا فَاَصْبَحُوْا نٰدِمِيْنَ ﴿۱۵۷﴾ فَاَخَذَهُمُ
الْعَذَابُ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَ مَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۵۸﴾ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ
ع ۱۸ / ۷ / ۱۱ الرَّحِيْمُ ﴿۱۵۹﴾

انهن چيو توتي ڪنهن جادو ڪري ڇڏيو آهي. تون رڳو اسان جهڙو هڪ ماڻهو آهين، پوءِ تون ڪا نشاني آڻ. جيڪڏهن تون سچو آهين. صالح چيو اها هڪ ڏاچي آهي، ان جي لاءِ پاڻي پيئڻ جو هڪ وارو آهي ۽ هڪ مقرر ڏينهن جو وارو توهان لاءِ آهي ۽ ڪيس ڪو ايذاءُ نہ پهچائجو، نہ تہ هڪ وڏي ڏينهن جو عذاب توهان کي پڪڙي وٺندو، پوءِ انهن ان ڏاچي جون ڪچيون ڪپي وڌيون، پوءِ پشيمان ٿيا. پوءِ انهن کي عذاب پڪڙي ورتو. بيشڪ ان ۾ نشاني آهي ۽ انهن مان اڪثر ماڻهو مڃڻ وارا نہ هئا ۽ بيشڪ تنهنجو رب زبردست آهي، رحمت وارو آهي. ١٥٣-١٥٩

---

پيغمبر جنهن قوم ۾ ايندو آهي اها ڪا بي دين قوم نہ هوندي آهي. بلڪ اها پوري معنيٰ ۾ هڪ مذهبي قوم هوندي آهي. پر اهو مذهب ان جي بزرگن جو مذهب هوندو آهي ۽ پيغمبر الله جو مذهب پيش ڪندو آهي. جيڪي ماڻهو پنهنجن بزرگن جي طريقي کي مقدس سمجهي ان تي قائم هجن، اهي ڪڏهن بہ ڪنهن ٻئي طريقي جي اهميت نہ ٿا سمجهي سگهن. چاهي اهو انهن کي پيغمبر جي زبان سان ڇو نہ پيش ڪيو وڃي. بزرگن جي طريقي کي ڇڏڻ قوم جي نظر ۾ ايترو سخت هو جو انهن حضرت صالحؑ کي ديوانو قرار ڏئي ڇڏيو. اها ڇڪتاڻ ڊگهي مدت تائين جاري رهي، آخر انهن مطالبو ڪيو تہ ڪو معجزو ڏيکاريو. الله تعاليٰ جي حڪم سان هڪ معجزو ظاهر ٿيو، جيڪو هڪ ئي وقت ۾ معجزو بہ هو ۽ قوم جي حق ۾ خدا جي عدالت بہ. اها هڪ ڏاچي هئي جيڪا معجزي طور ظهور ۾ آئي. حضرت صالحؑ چيو تہ اها خدا جي ڏاچي آهي، هي توهان جي پوکن ۽ باغن ۾ آزاد طور گهمندي ۽ پاڻي جو گهاٽ هڪ ڏينهن صرف ان لاءِ خاص هوندو. قوم ڪجهه ڏينهن تائين ان ڏاچي کي برداشت ڪيو. ان کان پوءِ سندن هڪ سرڪش ماڻهو ان کي ماري ڇڏيو. ان جي صرف ٽن ڏينهن کان پوءِ سڄي قوم سخت زلزلي سان هلاڪ ڪئي وئي.

ڏاچي کي هلاڪ ڪرڻ جو جرم قوم جي هڪ ماڻهو ڪيو هو، پر جمع جي صيغي ۾ فرمايو ويو تہ انهن ان کي هلاڪ ڪري ڇڏيو. ان جو سبب هي آهي تہ هلاڪ ڪرڻ وقت نہ تہ قوم جي ماڻهن ان کي

روڪيو ۽ نه وري پوءِ پنهنجي ان ماڻهو کي برو چيو. سيئي ماڻهو ان جي حمايت ۾ حضرت صالحؑ جي خلاف ڳالهائيندا رهيا. هلاڪ ڪرڻ واري جيڪڏهن پنهنجي هٿ سان جرم ڪيو هو ته باقي ماڻهو دل ۽ زبان سان ان جرم ۾ شريڪ هئا. ان ڪري الله تعاليٰ جي نظر ۾ سڀ جا سڀ مجرم قرار ڏنا ويا.

كَذَّبَتْ قَوْمُ لُوطِ ٱلْمُرْسَلِينَ ﴿١٦٠﴾ إِذْ قَالَ لَهُمْ أَخُوهُمْ لُوطٌ أَلَا تَتَّقُونَ ﴿١٦١﴾ إِنِّي لَكُمْ رَسُولٌ أَمِينٌ ﴿١٦٢﴾ فَٱتَّقُوا ٱللَّهَ وَأَطِيعُونِ ﴿١٦٣﴾ وَمَآ أَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ أَجْرٍ ۖ إِنْ أَجْرِىَ إِلَّا عَلَىٰ رَبِّ ٱلْعَٰلَمِينَ ﴿١٦٤﴾ أَتَأْتُونَ ٱلذُّكْرَانَ مِنَ ٱلْعَٰلَمِينَ ﴿١٦٥﴾ وَتَذَرُونَ مَا خَلَقَ لَكُمْ رَبُّكُم مِّنْ أَزْوَٰجِكُم ۚ بَلْ أَنتُمْ قَوْمٌ عَادُونَ ﴿١٦٦﴾

لوط جي قوم رسولن کي ڪوڙو ڄاتو. جڏهن سندن ڀاءُ لوط انهن کي چيو ڇا توهان ڊڄو نه ٿا. آئون توهان لاءِ هڪ امين رسول آهيان. پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجي ڳالهه مڃو. آئون ان تي توهان کان ڪو اجر نه ٿو گهران. منهنجو اجر ته رب العالمين جي ذمي آهي. ڇا توهان دنيا وارن مان مردن وٽ ويندا آهيو ۽ توهان جي رب توهان لاءِ جيڪي زالون پيدا ڪيون آهن. انهن کي ڇڏيو ٿا. بلڪ توهان حد کان لنگهي وڃڻ وارا ماڻهو آهيو. ١٦٠-١٦٦

---

حضرت لوطؑ جنهن قوم ۾ آيا. اها شهوت پرستي ۾ حد کان لنگهي وئي هئي. انهن لاءِ سندن زالون ڪافي نه ٿيون. اهي نوجوان ڇوڪرن سان مباشرت جو فعل ڪرڻ لڳا هئا. حضرت لوطؑ انهن کي خدا پرستي ۽ تقويٰ جي تعليم ڏني ۽ برن افعالن کان انهن کي منع ڪيو.

حضرت لوطؑ انهن جي وچ ۾ هڪ اهڙي داعي جي حيثيت سان آيا. جنهن جي شخصيت ڪوڙ ۽ فضول ڳالهين کان سؤ فيصد پاڪ هئي. قوم سان مادي مفادن جو جهيڙو ڇيڙڻ کان به انهن مڪمل پرهيز ڪيو. اهي واقعا اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي هئا ته حضرت لوطؑ جيڪو ڪجهه چئي رهيا آهن پوري سنجيدگي سان چئي رهيا آهن، پر ڇاڪاڻ ته پاڻؑ جي ڳالهه قوم جي رَوش جي خلاف هئي، ان ڪري هو پاڻؑ جا دشمن ٿي ويا. حضرت لوطؑ جي ڳالهه کي اهميت ڏيڻ جي لاءِ ضروري هو ته ماڻهن جي اندر الله تعاليٰ جو خوف هجي، پر اها ئي اُها شيءِ هئي جنهن کان حضرت لوطؑ جي قوم جا ماڻهو پوري طرح خالي ٿي چڪا هئا. پوءِ اهي پيغمبر جي ڳالهه تي ڌيان ڏين ها ته ڇا جي ڪري ڏين ها.

قَالُوا لَئِن لَّمْ تَنتَهِ يَٰلُوطُ لَتَكُونَنَّ مِنَ ٱلْمُخْرَجِينَ ﴿١٦٧﴾ قَالَ إِنِّي لِعَمَلِكُم مِّنَ ٱلْقَالِينَ ﴿١٦٨﴾ رَبِّ نَجِّنِى وَأَهْلِى مِمَّا يَعْمَلُونَ ﴿١٦٩﴾ فَنَجَّيْنَٰهُ وَأَهْلَهُۥٓ أَجْمَعِينَ ﴿١٧٠﴾ إِلَّا عَجُوزًا فِى ٱلْغَٰبِرِينَ ﴿١٧١﴾ ثُمَّ دَمَّرْنَا ٱلْءَاخَرِينَ ﴿١٧٢﴾ وَأَمْطَرْنَا عَلَيْهِم مَّطَرًا ۖ فَسَآءَ مَطَرُ ٱلْمُنذَرِينَ ﴿١٧٣﴾ إِنَّ فِى ذَٰلِكَ لَءَايَةً ۖ وَمَا كَانَ أَكْثَرُهُم مُّؤْمِنِينَ ﴿١٧٤﴾ وَإِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ ٱلْعَزِيزُ ٱلرَّحِيمُ ﴿١٧٥﴾ ع ٩ ١٦ ١٣

انهن چيو ته اي لوط! جيڪڏهن تون باز نه آئين ته ضرور تون لوڏيو ويندين. ان چيو ته آئون توهان جي عمل ڪان سخت بيزار آهيان. اي منهنجا رب! تون مون کي ۽ منهنجي گهروارن کي انهن جي عمل ڪان نجات ڏي. پوءِ اسان ان کي ۽ سندس سيني گهروارن کي بچائي ورتو. پر هڪ پوڙهي اها رهڻ وارن ۾ رهجي وئي. پوءِ اسان ٻين کي هلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ اسان انهن تي وسايو هڪ مينهن. پوءِ ڪهڙو برو مينهن هو جيڪو انهن تي وسيو، جن کي ڊيڄاريو ويو هو. بيشڪ ان ۾ نشاني آهي ۽ انهن مان اڪثر مڃڻ وارا نه آهن ۽ بيشڪ تنهنجو رب زبردست آهي، رحمت وارو آهي. ١٦٧-١٧٥

---

بحر مردار (Dead Sea) جي ڏکڻ ۽ اوڀر جو علائقو اڄ به ويران حالت ۾ نظر ايندو آهي، پر ١٩٠٠ کان ٢٣٠٠ قبل مسيح جي زماني ۾ اهو نهايت سرسبز علائقو هو. لوط جي قوم ان ئي علائقي ۾ آباد هئي. حضرت لوط عليه السلام جي مسلسل تبليغ جي باوجود انهن پنهنجي اصلاح نه ڪئي، ايستائين جو اهي پاڻ عليه السلام کي قتل ڪرڻ جي ڪِرِ پئجي ويا. ان وقت انهن کي زبردست زلزلي جي ذريعي هلاڪ ڪيو ويو. ان برباد علائقي جو هڪ حصو بحر مردار جي هيٺ دفن آهي ۽ هڪ حصو ڪنڌر ٻٽيل آهي، اهو واقعو اڄ کان چار هزار سال اڳ ۾ پيش آيو.

حضرت لوط عليه السلام جي گهرواري پنهنجي پاڻ کي قومي روايتن کان الڳ نه ڪري سگهي. اها پيغمبر جي زال هئڻ جي باوجود پنهنجي قومي مذهب جي وفادار ٻڌجي رهي. نتيجو اهو ٿيو ته جڏهن الله تعاليٰ جو عذاب آيو ته هو عام منڪرن سان گڏ هلاڪ ڪئي وئي.

كَذَّبَ اَصۡحٰبُ لۡـَٔيۡكَةِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ۝١٧٦ اِذۡ قَالَ لَهُمۡ شُعَيۡبٌ اَلَا تَتَّقُوۡنَ ۝١٧٧ اِنِّىۡ لَكُمۡ رَسُوۡلٌ
اَمِيۡنٌ ۝١٧٨ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيۡعُوۡنِ ۝١٧٩ وَ مَاۤ اَسۡـَٔلُكُمۡ عَلَيۡهِ مِنۡ اَجۡرٍ ۚ اِنۡ اَجۡرِىَ اِلَّا عَلٰى
رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۝١٨٠ اَوۡفُوا الۡكَيۡلَ وَ لَا تَكُوۡنُوۡا مِنَ الۡمُخۡسِرِيۡنَ ۝١٨١ وَزِنُوۡا بِالۡقِسۡطَاسِ
الۡمُسۡتَقِيۡمِ ۝١٨٢ وَ لَا تَبۡخَسُوا النَّاسَ اَشۡيَآءَهُمۡ وَ لَا تَعۡثَوۡا فِى الۡاَرۡضِ مُفۡسِدِيۡنَ ۝١٨٣ وَ
اتَّقُوا الَّذِىۡ خَلَقَكُمۡ وَ الۡجِبِلَّةَ الۡاَوَّلِيۡنَ ۝١٨٤

اصحاب ايڪ رسولن کي ڪوڙو ڄاتو. جڏهن شعيب انهن کي چيو ڇا توهان ڊڄو نه ٿا. آئون توهان لاءِ هڪ امين رسول آهيان. پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجي ڳالهه مڃو ۽ آئون ان تي توهان کان ڪو اجر نه ٿو گهران. منهنجو اجر رب العالمين جي ذمي آهي. توهان پورو پورو ماپيو ۽ نقصان ڏيڻ وار مان نه ٿيو ۽ سڌي ساهمي سان توريو ۽ ماڻهن کي سندن شيون گهٽائي نه ڏيو ۽ زمين ۾ فساد نه پکيڙيو ۽ ان ذات کان ڊڄو جنهن توهان کي پيدا ڪيو ۽ اڳين نسلن کي به. ١٧٦-١٨٤

---

”ايڪ“ جي لفظي معنيٰ جهنگ آهي. اهو تبوڪ جو پراڻو نالو آهي. شعيب عليه السلام جي قوم حضرت ابراهيم عليه السلام جي نسل مان ئي، اِها جنهن علائقي ۾ آباد ٿي. ان جو مرڪزي شهر تبوڪ هو. ان ئي ڪري قرآن ۾ انهن کي اصحاب ايڪ چيو ويو آهي.

سيني اخلاقي ۽ معاشرتي خرابين جي جڙ ”ميزان“ ۾ فرق ڪرڻ آهي. صحيح ميزان (ساهمي)

اها آهي تہ ماڻهو پين کي اهو ڏي جيڪو حق مطابق انهن کي ڏيڻ گهرجي ۽ پنهنجي لاءِ اهو وٺي جيڪو حق مطابق ان کي وٺڻ گهرجي. اها خدائي ميزان آهي. جڏهن ان ميزان ۾ فرق ڪيو ويندو آهي تہ ان ئي وقت اجتماعي زندگي ۾ بگاڙ پيدا ٿي ويندو آهي، جيئن تہ ان ميزان تي قائم رهڻ جو راز الله جو خوف آهي. جيڪڏهن الله جو خوف دل مان نڪري وڃي تہ ڪا شيءِ ماڻهو کي ميزان تي قائم نہ ٿي رکي سگهي.

الله طرفان جيترا رسول آيا سڀني پنهنجي مخاطب قومن کي چيو تہ اني لکم رسول امين (آئون توهان لاءِ هڪ معتبر رسول آهيان). ان مان اندازو ٿيندو آهي تہ داعي جي اندر اعتبار جي صفت لازمي طور موجود هئڻ گهرجي. ان ئي اعتبار جو هڪ پهلو اهو آهي تہ داعي پنهنجي مدعو قوم سان معاشي ۽ مادي جهڳڙا نہ ڇيڙي، تہ جيئن ان جي بيغرض مقصد تي شڪ نہ رهي. اهو اعتبار اوتروئي اهم آهي جو ان کي هرحال ۾ حاصل ڪرڻ ضروري آهي، چاهي ان جي خاطر داعي کي پنهنجن مادي حقن کان هڪ طرفي طور تي دستبردار ٿيڻو پوي.

قَالُوْٓا اِنَّمَآ اَنْتَ مِنَ الْمُسَحَّرِيْنَ ﴿١٨٥﴾ وَ مَآ اَنْتَ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا وَ اِنْ نَّظُنُّكَ لَمِنَ
الْكٰذِبِيْنَ ﴿١٨٦﴾ فَاَسْقِطْ عَلَيْنَا كِسَفًا مِّنَ السَّمَآءِ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿١٨٧﴾ قَالَ رَبِّيْٓ
اَعْلَمُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٨٨﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَاَخَذَهُمْ عَذَابُ يَوْمِ الظُّلَّةِ ؕ اِنَّهٗ كَانَ عَذَابَ يَوْمٍ
عَظِيْمٍ ﴿١٨٩﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَ مَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٩٠﴾ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ
ع ١٦ الرَّحِيْمُ ﴿١٩١﴾
١٤

انهن چيو توتي تہ ڪنهن جادو ڪري ڇڏيو آهي ۽ تون اسان جهڙو ئي هڪ ماڻهو آهين ۽ اسان توکي ڪوڙن ماڻهن مان خيال ڪندا آهيون. پوءِ اسان جي مٿان آسمان مان ڪو ٽڪرو ڪيرائي، جيڪڏهن تون سچو آهين. شعيب چيو منهنجو رب چڱي طرح ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهہ توهان ڪري رهيا آهيو. پوءِ انهن ان کي ڪوڙو ڄاتو پوءِ انهن کي ڪڪرن واري ڏينهن جي عذاب پڪڙي ورتو. بيشڪ اهو هڪ وڏي ڏينهن جو عذاب هو. بيشڪ ان ۾ نشاني آهي ۽ انهن مان اڪثر مڃڻ وارا نہ آهن ۽ بيشڪ تنهنجو رب زبردست آهي رحمت وارو آهي. ١٨٥-١٩١

---

حضرت شعيب عليه السلام جي قوم کي پنهنجي آبائي طريقي جي صداقت تي ايتري قدر يقين هو جو پيغمبر جي ڳالهہ انهن کي ابتي ۽ بي جوڙ معلوم ٿي. انهن چيو تہ شايد توتي ڪنهن سخت عمل ڪري ڇڏيو آهي، ان ڪري تون اهڙيون ڳالهيون ڪري رهيو آهين.

انهن جو اهو چوڻ تہ اسان تي آسماني عذاب آڻ. ان جو رخ الله تعاليٰ ڏانهن نہ هو، بلڪ حضرت شعيب عليه السلام ڏانهن هو، اهي حضرت شعيب عليه السلام کي بي حقيقت ثابت ڪرڻ لاءِ ايئن چوندا هئا. ڇاڪاڻ تہ اهي حضرت شعيب عليه السلام کي اهڙو نہ سمجهندا هئا جو ان جي چوڻ تي آسماني عذاب اچي وڃي.

آخرڪار قوم جي سرڪشي جو نتيجو اهو ٿيو تہ سائبان وانگر هڪ ڪڪر انهن جي مٿان ڇانو ڪري ڇڏي، پوءِ الله تعاليٰ جي حڪم سان ان مان اهڙي باهہ وسي جنهن پوري قوم کي مٽائي ڇڏيو.

وَ اِنَّهٗ لَتَنۡزِيۡلُ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۱۹۲﴾ نَزَلَ بِهِ الرُّوۡحُ الۡاَمِيۡنُ ﴿۱۹۳﴾ عَلٰى قَلۡبِكَ لِتَكُوۡنَ مِنَ
الۡمُنۡذِرِيۡنَ ﴿۱۹۴﴾ بِلِسَانٍ عَرَبِىٍّ مُّبِيۡنٍ ﴿۱۹۵﴾ وَ اِنَّهٗ لَفِىۡ زُبُرِ الۡاَوَّلِيۡنَ ﴿۱۹۶﴾ اَوَ لَمۡ يَكُنۡ لَّهُمۡ اٰيَةً
اَنۡ يَّعۡلَمَهٗ عُلَمٰٓؤُا بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ ﴿۱۹۷﴾

بيشڪ اهو جهانن جي رب جو نازل ڪيل ڪلام آهي. ان کي امانت دار فرشتي لاٿو تنهنجي دل تي، ته جيئن تون ڊيڄارڻ وارن مان ٿئين. صاف عربي زبان ۾ ۽ ان جو ذڪر اڳين ماڻهن جي ڪتابن ۾ آهي ۽ ڇا انهن لاءِ اها نشاني نه آهي ته ان کي بني اسرائيل جا عالم ڄاڻن ٿا. ١٩٢-١٩٧

---

قرآن جيتوڻيڪ بظاهر هڪ انساني زبان ۾ آهي، پر ان جي ادبي عظمت ايتري غيرمعمولي آهي جو هو خود پنهنجي زبان جي لحاظ کان هڪ برتر خدائي ڪلام هئڻ جي شهادت ڏئي رهيو آهي. قرآن جي صداقت جو وڌيڪ ثبوت اهو آهي ته قرآن جي نازل ٿيڻ کان گهڻو اڳ پيدا ٿيڻ وارن پيغمبرن ان جي اڳڪٿي ڪئي هئي اها اڳڪٿي اڄ به توريت ۽ زبور ۽ انجيل ۾ موجود آهي. انهن اڳ ڪٿين جي ڪري ان زماني جا ڪيترن ئي مسيحي ۽ يهودي عالمن (مثلاً عبدالله بن سلام) ان تي ايمان آندو. اهو سلسلو اڄ تائين جاري آهي.

الله تعاليٰ جي ڪلام جو اهڙي طرح خاص اهتمام سان نازل ٿيڻ ڪنهن وڏي ۽ خاص مقصد جي تحت ئي ٿي سگهي ٿو ۽ اهو مقصد اهو ته انسان کي اچڻ واري سخت ڏينهن کان خبردار ڪيو وڃي. آخرت کان ڊيڄارڻ اڳين سڀني آسماني ڪتابن جو به خاص مقصد هو ۽ اهو ئي قرآن جو به خاص مقصد آهي.

وَ لَوۡ نَزَّلۡنٰهُ عَلٰى بَعۡضِ الۡاَعۡجَمِيۡنَ ﴿۱۹۸﴾ فَقَرَاَهٗ عَلَيۡهِمۡ مَّا كَانُوۡا بِهٖ مُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۱۹۹﴾ كَذٰلِكَ
سَلَكۡنٰهُ فِىۡ قُلُوۡبِ الۡمُجۡرِمِيۡنَ ﴿۲۰۰﴾ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِهٖ حَتّٰى يَرَوُا الۡعَذَابَ الۡاَلِيۡمَ ﴿۲۰۱﴾ فَيَاۡتِيَهُمۡ
بَغۡتَةً وَّ هُمۡ لَا يَشۡعُرُوۡنَ ﴿۲۰۲﴾ فَيَقُوۡلُوۡا هَلۡ نَحۡنُ مُنۡظَرُوۡنَ ﴿۲۰۳﴾

۽ جيڪڏهن اسان ان کي ڪنهن عجمي تي نازل ڪيون ها. پوءِ هو ان کي پڙهي ٻڌائي ها ته اهي ان تي ايمان آڻڻ وارا نه بڻجن ها. اهڙي طرح گنهگارن جي دلين ۾ اهو (انڪار) وڌو سون. اهي ماڻهو ايمان نه آڻيندا. جيستائين سخت عذاب ڏسي نه وٺن. پوءِ اهو انهن تي اوچتو اچي ويندو ۽ انهن کي خبر به نه هوندي. پوءِ هو چوندا ته ڇا اسان کي ڪجهه مهلت ملي سگهي ٿي. ١٩٨-٢٠٣

---

قرآن عربي زبان ۾ آيو ۽ جنهن پيغمبر ان کي پيش ڪيو ان جي مادري زبان به عربي هئي. ان ڪري منڪرن کي اهو چوڻ جو موقعو ملي ويو ته اهو ته خود ان جو پنهنجو ڪلام آهي. هو هڪ عرب آهي. ان ڪري ان عربي ۾ قرآن تصنيف ڪري ورتو.

پر اعتراض جو اهو انداز خود ٻڌائي رهيو آهي ته اهو ڪو سنجيده اعتراض نه آهي ۽ جيڪي ماڻهو ڪنهن معاملي ۾ سنجيده نه هجن، اهي هميشه ڪو نه ڪو شوشو ڇڏي ڏيندا آهن. مثلاً جيڪڏهن ايئن ڪيو وڃي ها ته ڪنهن غير عرب تي اهو عربي قرآن نازل ڪيو وڃي ها ۽ اهو ماڻهو عربي زبان کان ناواقف هئڻ جي باوجود عربي قرآن انهن کي پڙهي ٻڌائي ها ته هو فوراً اهو چئي ڇڏين ها ته ”ڪو

عرب ان ڪي سيڪاريندو آهي.“

جيڪي ماڻهو ناحق جي بنياد تي پنهنجي زندگي جي عمارت ٺاهي ويٺا هجن، انهن لاءِ حق جو اعتراف ڪرڻ خود پنهنجي نفي جي هم معنيٰ هوندو آهي، اهڙن ماڻهن جي سامهون جڏهن حق اچي ٿو ته اهي ذاتي مصلحتن ڪي اهميت ڏين ٿا ۽ حق جو اعتراف نه ڪن ته انڪار جو مزاج سندن نفسيات ۾ اهڙي طرح شامل ٿي ويندو آهي جو انهن ڪي پيهر ان مان نڪرڻ نصيب نه ٿيندو آهي.

اَفَبِعَذَابِنَا يَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿٢٠٤﴾ اَفَرَءَيْتَ اِنْ مَّتَّعْنٰهُمْ سِنِيْنَ ﴿٢٠٥﴾ ثُمَّ جَآءَهُمْ مَّا كَانُوْا
يُوْعَدُوْنَ ﴿٢٠٦﴾ مَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يُمَتَّعُوْنَ ﴿٢٠٧﴾ وَ مَآ اَهْلَكْنَا مِنْ قَرْيَةٍ اِلَّا لَهَا
مُنْذِرُوْنَ ﴿٢٠٨﴾ ذِكْرٰى وَ مَا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ﴿٢٠٩﴾ وَ مَا تَنَزَّلَتْ بِهِ الشَّيٰطِيْنُ ﴿٢١٠﴾ وَ مَا يَنْۢبَغِيْ لَهُمْ
وَ مَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ﴿٢١١﴾ اِنَّهُمْ عَنِ السَّمْعِ لَمَعْزُوْلُوْنَ ﴿٢١٢﴾

مع عند المتقدمين

ڇا اهي اسان جي عذاب ڪي جلد گهري رهيا آهن. ڀلا ڏس ته جيڪڏهن اسان انهن ڪي ڪجھ سالن تائين فائدو پهچائيندا رهون، پوءِ انهن تي اها شيءِ اچي وڃي جنهن سان انهن ڪي ڊيڄاريو پيو وڃي ته اهو فائدو سندن ڪهڙي ڪم ايندو ۽ اسان ڪنهن وسندي ڪي هلاڪ نه ڪيو آهي، پر ان لاءِ ڊيڄارڻ وارا هئا. ياد ڏيارڻ جي لاءِ ۽ اسان ظالم نه آهيون ۽ ان ڪي شيطان ڪٽي نازل نه ٿيندا آهن ۽ نڪي ڪين جڳائيندو آهي ۽ نه اهي ايئن ڪري سگهن ٿا. اهي ان ڪي ٻڌڻ کان روڪيا ويا آهن. ٢٠٤-٢١٢

---

پيغمبر جي سطح تي جڏهن الله تعاليٰ جي دعوت ظاهر ٿيندي آهي ته اها پنهنجي آخري مڪمل صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي، اهوئي سبب آهي ته پيغمبر جو انڪار ڪرڻ واري قوم تي خدا جو عذاب اچڻ لازمي ٿي ويندو آهي، پوءِ جيستائين عذاب عملن نه اچي وڃي ماڻهو پاڻ ڪي محفوظ سمجهي ٿو. هو حق جي دعوت ڪي بي حقيقت ثابت ڪرڻ لاءِ طرح طرح جون ڳالهيون ڪندو آهي. ڪڏهن پيغمبر جي شخصيت جي تحقير ڪندو آهي. ڪڏهن پيغمبر جي آندل ڪلام ڪي بناوٽي ڪلام چوندو آهي، ڪڏهن ايئن چوندو آهي ته تنهنجي بيان مطابق جيڪڏهن الله تعاليٰ اسان سان گڏ نه آهي ته هو اسان ڪي سزا ڇو نه ٿو ڏي.

پيغمبر جي ذميداري يا پيغمبر جي اطاعت ۾ داعي جي ذميداري رڳو اها آهي ته هو ماڻهن ڪي حق کان آگاهه ڪري ڇڏي، ان کا پوءِ جا سيئي معاملا خدا جي ذمي آهن ۽ اهوئي جڏهن چاهيندو آهي انهن ڪي ظاهر ڪندو آهي.

فَلَا تَدْعُ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَتَكُوْنَ مِنَ الْمُعَذَّبِيْنَ ﴿٢١٣﴾ وَ اَنْذِرْ عَشِيْرَتَكَ الْاَقْرَبِيْنَ ﴿٢١٤﴾ وَ
اخْفِضْ جَنَاحَكَ لِمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٢١٥﴾ فَاِنْ عَصَوْكَ فَقُلْ اِنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّمَّا
تَعْمَلُوْنَ ﴿٢١٦﴾ وَ تَوَكَّلْ عَلَى الْعَزِيْزِ الرَّحِيْمِ ﴿٢١٧﴾ الَّذِيْ يَرٰىكَ حِيْنَ تَقُوْمُ ﴿٢١٨﴾ وَ تَقَلُّبَكَ فِي
السّٰجِدِيْنَ ﴿٢١٩﴾ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٢٢٠﴾

تنهن ڪري الله سان گڏ ڪنهن ٻئي معبود کي نه سڏ، نه ته عذاب وارن مان ٿيندين ۽ پنهنجن ويجهن مائٽن کي ڊيڄار ۽ مؤمنن مان جيڪو تنهنجي تابعداري ڪري تنهن لاءِ پنهنجا ٻازو جهڪائي. پوءِ جيڪڏهن اهي تنهنجي نافرماني ڪن ته چؤ جيڪو ڪجهه توهان ڪري رهيا آهيو، ان کان آئون بري آهيان ۽ زبردست ۽ مهربان (الله) تي ڀروسو رک، جيڪو ڏسي ٿو توکي جڏهن تون اٿندو آهين ۽ سجدو ڪندڙن ۾ تنهنجو ڦرڻ به. بيشڪ اُهو ٻڌڻ وارو ڄاڻڻ وارو آهي. ٢١٣-٢٢٠

---

الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي معبود ٺاهڻ الله جي نظر ۾ تمام وڏو جرم آهي ان جرم کان پوءِ ڪو ماڻهو سزا کان بچي نه ٿو سگهي، ايستائين جو اهو شخص به نه جيڪو زبان ۽ قلم سان توحيد جو علمبردار بڻيل هجي، داعي جو ڪم اهو آهي ته خود کي پوري طرح شرڪ کان بچائيندي ماڻهن کي حق ڏانهن سڏي ۽ ابتدا پنهنجي قريبي ماڻهن کان ڪري.

حق جو ساٿ ڏيڻ لاءِ پنهنجي وڏائي جي بت کي ٽوڙڻو پوندو آهي. اهوئي سبب آهي ته وڏن ماڻهن ۾ تمام گهٽ اهڙا ماڻهو هوندا آهن جيڪي حق جو ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار ٿين. گهڻو ڪري ايئن ٿيندو آهي ته حق جو ساٿ ڏيڻ لاءِ اهي ماڻهو اُٿندا آهن جيڪي سماج ۾ گهٽ حيثيت رکندا هجن. اهو واقعو داعي جي لاءِ سخت امتحان هوندو آهي، داعي کي ان کان بچڻو پوي ٿو ته پين وانگر هو به انهن کي حقير سمجهي جيڪي ماڻهو غيراسلامي سماج ۾ حقير بڻيل هئا. اهي اسلامي دائري ۾ اچي ڪري به حقير بڻجي رهن.

داعي اهو آهي جنهن جو الله تعاليٰ سان تعلق ايترو وڌيل هجي جو رات جي تنهائين ۾ هو بيقرار ٿي ڪري پنهنجي بستر مان اٿي پوي. پنهنجي سجدي گذار ساٿين جي قيمت ان جي نظر ۾ ايتري وڌيڪ هجي جو هو انهن کي پنهنجي توجهه جو مرڪز بڻائي وٺي.

هَلْ اُنَبِّئُكُمْ عَلٰى مَنْ تَنَزَّلُ الشَّيٰطِيْنُ ﴿٢٢١﴾ تَنَزَّلُ عَلٰى كُلِّ اَفَّاكٍ اَثِيْمٍ ﴿٢٢٢﴾ يُّلْقُوْنَ السَّمْعَ
وَ اَكْثَرُهُمْ كٰذِبُوْنَ ﴿٢٢٣﴾ وَ الشُّعَرَآءُ يَتَّبِعُهُمُ الْغَاوٗنَ ﴿٢٢٤﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّهُمْ فِيْ كُلِّ وَادٍ
يَّهِيْمُوْنَ ﴿٢٢٥﴾ وَ اَنَّهُمْ يَقُوْلُوْنَ مَا لَا يَفْعَلُوْنَ ﴿٢٢٦﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَ
ذَكَرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا وَّ انْتَصَرُوْا مِنْۢ بَعْدِ مَا ظُلِمُوْا ؕ وَ سَيَعْلَمُ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْۤا اَيَّ مُنْقَلَبٍ
ع ٢٦ ١٥ يَّنْقَلِبُوْنَ ﴿٢٢٧﴾

ڇا آئون توهان کي ٻڌايان ته شيطان ڪنهن تي لهندا آهن. اهي هر ڪوڙي گنهگار تي لهندا آهن، جيڪي ٻڌل ڳالهه ڪن ۾ وجهندا آهن ۽ انهن مان اڪثر ڪوڙا آهن ۽ شاعرن جي پويان بي راهه ماڻهو هلندا آهن. ڇا تو نه ڏٺو ته هو هر وادي ۾ ڀٽڪندا وتندا آهن ۽ اهي اهو چوندا آهن جيڪو ڪندا نه آهن، پر جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ۽ انهن الله کي گهڻو ياد ڪيو ۽ انهن بدلو ورتو، ان جي بعد جڏهن انهن تي ظلم ٿيو ۽ ظلم ڪرڻ وارن کي جلد معلوم ٿي ويندو ته انهن کي ڪهڙي جاءِ تي موٽي وڃڻو آهي. ٢٢١-٢٢٧

---

پيغمبر جو ڪلام ايترو غيرمعمولي هوندو آهي جو پيغمبر جا منڪر به ان جي ترديد نٿي ڪري سگهيا. تنهن ڪري اهي پنهنجن ماڻهن کي مطمئن ڪرڻ لاءِ چئي ڇڏيندا هئا ته اهي جادوگر ۽ عامل آهن. ۽ انهن جي ڪلام ۾ جيڪو غيرمعمولي اثر آهي، اهو جادوگر ۽ عامل هئڻ جي ڪري آهي نه وري

پيغمبر هئڻ ڪري، اهڙي طرح اهي قرآن کي شاعر جو ڪلام چوندا هئا. فرمايو ويو ته ان ڳالهه جي ترديد لاءِ اهو ئي ڪافي آهي ته پيغمبر ۽ جادوگرن ۽ شاعرن جو موازنو ڪري ڏسجي. ٻنهي جي زندگين ۾ ايترو گهڻو فرق ملندو جو ڪو سنجيده ماڻهو هرگز هڪ کي ٻئي تي قياس نه تو ڪري سگهي.

شاعري جو بنياد تصوراتي آهي نه وري حقيقي واقعن تي. اهوئي سبب آهي جو شاعر هميشه خيالن جي دنيا ۾ پرواز ڪندا آهن. اهي ڪڏهن هڪ قسم جي ڳالهه ڪندا آهن ۽ ڪڏهن ٻئي قسم جي. ان جي ابتڙ پيغمبر ۽ ان جي ساٿين جو حال اهو آهي ته هو الله جي بنياد تي بيٺل هوندا آهن. جيڪا سيني ڪان وڏي حقيقت آهي. سندن زندگيون قول ۽ عمل ۾ يڪسانيت جا مثال آهن. الله جي گهري معرفت انهن کي الله کي ياد ڪرڻ وارو بڻائي ڇڏيو آهي. انهن جو احتياط ايترو وڌيل آهي ته جيڪڏهن هو ڪنهن جي خلاف ڪارروائي ڪندا آهن ته صرف ان وقت ڪندا آهن. جڏهن انهن تي پڌرو ظلم ڪيو وڃي. مستقبل جي نزاڪت ماڻهو کي ان جي حال جي باري ۾ سنجيده بڻائي ڇڏيندي آهي. جيڪو ماڻهو مستقبل جي باري ۾ حساس نه هجي، اهو حال جي باري ۾ به حساس نه تو ٿي سگهي.

آيَاتُهَا ٩٣ (٢٧) سُوۡرَةُ النَّمۡلِ مَكِّيَّةٌ (٤٨) رُكُوۡعَاتُهَا ٧

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

طٰسٓ ۚ تِلۡكَ اٰيٰتُ الۡقُرۡاٰنِ وَ كِتَابٍ مُّبِيۡنٍ ۙ﴿۱﴾ هُدًى وَّ بُشۡرٰى لِلۡمُؤۡمِنِيۡنَ ۙ﴿۲﴾ الَّذِيۡنَ
يُقِيۡمُوۡنَ الصَّلٰوةَ وَ يُؤۡتُوۡنَ الزَّكٰوةَ وَ هُمۡ بِالۡاٰخِرَةِ هُمۡ يُوۡقِنُوۡنَ ﴿۳﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ لَا
يُؤۡمِنُوۡنَ بِالۡاٰخِرَةِ زَيَّنَّا لَهُمۡ اَعۡمَالَهُمۡ فَهُمۡ يَعۡمَهُوۡنَ ؕ﴿۴﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيۡنَ لَهُمۡ سُوۡٓءُ
الۡعَذَابِ وَ هُمۡ فِى الۡاٰخِرَةِ هُمُ الۡاَخۡسَرُوۡنَ ﴿۵﴾ وَ اِنَّكَ لَتُلَقَّى الۡقُرۡاٰنَ مِنۡ لَّدُنۡ حَكِيۡمٍ
عَلِيۡمٍ ﴿۶﴾ الثلثة

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

طا سين، هي آيتون آهن قرآن جون ۽ هڪ واضح ڪتاب جون. رهنمائي ۽ خوشخبري ايمان وارن لاءِ جيڪي نماز قائم ڪندا آهن ۽ زڪوات ڏيندا آهن ۽ اُهي آخرت تي يقين رکندا آهن. جيڪي ماڻهو آخرت تي ايمان نه ٿا رکن، سندن ڪمن کي اسان سندن لاءِ خوشنما بڻائي ڇڏيو آهي. پوءِ اُهي ڀٽڪي رهيا آهن. اهي اُهي آهن جن لاءِ بري سزا آهي ۽ اهي آخرت ۾ سخت خساري ۾ هوندا ۽ بيشڪ قرآن تو کي هڪ حڪيم ۽ عليم طرفان ڏنو پيو وڃي. ١-٦

---

جڏهن ماڻهو جي سامهون حق اچي ۽ اهو ڪنهن تحفظ جي بغير ان جو اعتراف ڪري وٺي ته ان جو نتيجو اهو ٿيندو آهي جو هو فوراً صحيح رخ تي هلي پوندو آهي، ان جي زندگي هر لحاظ کان درست ٿيندي ويندي آهي، ان جي ابتڙ جيڪو ماڻهو پنهنجي پاڻ کي حق جي مطابق تبديل ڪرڻ لاءِ تيار نه هجي، اهو مجبور هوندو آهي ته خود حق کي پنهنجي مطابق تبديل ڪري ڇڏي. ان ئي نفسياتي

ڪيفيت جو پيو نالو خوشنما عمل آهن يا عملن ڪي خوشنما بنائڻ.

اهڙو ماڻهو پنهنجي روش کي جائز ثابت ڪرڻ جي لاءِ هٿ ٺوڪيل دليل تلاش ڪندو آهي. اهي دليل آهستي آهستي ان جي ذهن تي اهڙي طرح ڇانئجي ويندا آهن جو اُهي ان کي بلڪل صحيح لڳندا آهن. پنهنجو غلط عمل ان کي پنهنجن ڪوڙن دليلن جي روشني ۾ صحيح نظر اچڻ لڳندو آهي.

جيڪي ماڻهو حق جي دعوت جي باري ۾ سنجيده نہ هجن، اهي هميشہ نمائشي عملن جو شڪار ٿي ويندا آهن. اهڙا ماڻهو عين پنهنجي نفسيات جي نتيجي ۾ پنهنجي اصلاح کان بلڪل غافل ٿي ويندا آهن. پنهنجي غلط کي صحيح سمجهڻ جي انهن کي اها ڳري قيمت ڏيڻي پوي ٿي جو هو اهڙي رستي تي هلندا رهن، جنهن جي آخري منزل جهنم کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هجي.

اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِاَهْلِهٖٓ اِنِّيْٓ اٰنَسْتُ نَارًا ؕ سَاٰتِيْكُمْ مِّنْهَا بِخَبَرٍ اَوْ اٰتِيْكُمْ بِشِهَابٍ قَبَسٍ لَّعَلَّكُمْ تَصْطَلُوْنَ ۝ فَلَمَّا جَآءَهَا نُوْدِيَ اَنْۢ بُوْرِكَ مَنْ فِي النَّارِ وَمَنْ حَوْلَهَا ؕ وَسُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝

جڏهن موسيٰ پنهنجي گهروارن کي چيو تہ مون هڪ باهہ ڏٺي آهي، آئون اتان ڪا خبر آڻيان ٿو يا ٻاريل ٽانڊو آڻيان ٿو، تہ جيئن توهان سيڪيو. پوءِ جڏهن هو ان وٽ پهتو تہ آواز ڏنو ويو تہ مبارڪ آهي جيڪو باهہ ۾ آهي ۽ جيڪو سندس چوگرد آهي ۽ پاڪ آهي الله جيڪو رب آهي سڀني جهانن جو. ٧-٨

---

قبطي جي موت واري واقعي کان پوءِ حضرت موسيٰ عليہ السلام مصر کان مدين هليا ويا هئا. مدين جو علائقو بحر احمر جي ان شاخ جي اوڀر واري ساحل تي هو جنهن کي خليج عقبہ چيو ويندو آهي، حضرت موسيٰ عليہ السلام هتي تقريباً ٨ سال گذاريا، ان کان پوءِ هو پنهنجي زال سان واپس مصر وڃڻ لاءِ روانا ٿيا. ان سفر ۾ اهي بحر احمر جي ٻنهي شاخن جي وچ ۾ ان جبل وٽ پهتا، جنهن جو قديم نالو طور هو ۽ هاڻي ان کي جبل موسيٰ (Gebel Musa) چيو ويندو آهي.

اها غالباً سياري جي رات هئي. حضرت موسيٰ عليہ السلام کي پري هڪ جبل تي باهہ جهڙي شيءِ نظر آئي. هو ان ڏانهن روانا ٿيا، پر ويجهو پهچي معلوم ٿيو تہ اها خدا جي تجلي هئي نہ ڪي ڪا انساني باهہ.

جبل جي مٿان جتي حضرت موسيٰ عليہ السلام روشني ڏٺي هئي، اتي اڄ بہ هڪ قديم وڻ موجود آهي. چيو ويندو آهي تہ اهوئي اهو وڻ آهي، جنهن جي مٿان حضرت موسيٰ عليہ السلام کي خدا جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هتي بعد ۾ عيسائين گرجا ۽ خانقاهہ تعمير ڪري ڇڏيا، جيڪي اڄ بہ ماڻهن لاءِ زيارت جي جاءِ بڻيل آهن.

يٰمُوْسٰٓى اِنَّهٗٓ اَنَا اللّٰهُ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۝ وَاَلْقِ عَصَاكَ ؕ فَلَمَّا رَاٰهَا تَهْتَزُّ كَاَنَّهَا جَآنٌّ وَّلّٰى مُدْبِرًا وَّلَمْ يُعَقِّبْ ؕ يٰمُوْسٰى لَا تَخَفْ ۫ اِنِّيْ لَا يَخَافُ لَدَيَّ الْمُرْسَلُوْنَ ۝ اِلَّا مَنْ ظَلَمَ ثُمَّ بَدَّلَ حُسْنًۢا بَعْدَ سُوْٓءٍ فَاِنِّيْ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝ وَاَدْخِلْ يَدَكَ فِيْ جَيْبِكَ تَخْرُجْ بَيْضَآءَ مِنْ غَيْرِ سُوْٓءٍ ۫ فِيْ تِسْعِ اٰيٰتٍ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَقَوْمِهٖ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ۝

فَلَمَّا جَآءَتۡهُمۡ اٰيٰتُنَا مُبۡصِرَةً قَالُوۡا هٰذَا سِحۡرٌ مُّبِيۡنٌ ﴿١٣﴾ وَ جَحَدُوۡا بِهَا وَ اسۡتَيۡقَنَتۡهَاۤ
اَنۡفُسُهُمۡ ظُلۡمًا وَّ عُلُوًّا ؕ فَانۡظُرۡ كَيۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ الۡمُفۡسِدِيۡنَ ﴿١٤﴾

اي موسيٰ! آئون آهيان الله غالب حڪمت وارو ۽ تون پنهنجي لٺ ڪي اڇل. پوءِ جڏهن هن ان کي اهڙي طرح حرڪت ڪندي ڏٺو ڄڻ اهو نانگ هجي ته هو پٺي ڏيئي ڀڳو ۽ پوئتي مڙي نه ڏٺائين. اي موسيٰ! نه ڊڄ. مون وٽ پيغمبر ڊڄندا نه آهن، پر جنهن زيادتي ڪئي، پوءِ ان برائي ڪان پوءِ ان کي ڀلائي سان بدلائي ڇڏيو ته آئون بخشڻ وارو مهربان آهيان ۽ تون پنهنجو هٿ پنهنجي گريبان ۾ وجهه. اهو ڪنهن عيب جي بغير چمڪندڙ ٿي نڪرندو. اهي ٻئي ملائي نَوَ نشانين سان فرعون ۽ ان جي قوم وٽ وڃ. بيشڪ اهي نافرمان ماڻهو آهن. پوءِ جڏهن انهن وٽ اسان جون واضح نشانيون آيون، انهن چيو هي پڌرو جادو آهي ۽ هنن اُنهن جو انڪار ڪيو، حالانڪ سندن دلين انهن جو يقين ڪري ورتو هو، ظلم ۽ وڏائي جي ڪري. پوءِ ڏس ته ڪهڙو برو انجام ٿيو فسادين جو. ٩-١٤

خود موسيٰ عليه السلام جبل تي باهه ڪٽڻ ويا هئا. پر اتي پهچي معلوم ٿيو ته اهي پيغمبري لاءِ سڏيا ويا آهن. الله تعاليٰ جڏهن پنهنجي ڪنهن ٻانهي کي خاص عطيو ڏيندو آهي ته اچانڪ ۽ غيرمتوقع طور تي ڏيندو آهي، ته جيئن هو ان کي براهِ راست الله طرفان سمجهي ۽ ان جي اندر وڌ کان وڌ شڪر جو جذبو پيدا ٿئي.

حضرت موسيٰ عليه السلام جي قوم (بني اسرائيل) جيتوڻيڪ ان وقت جي لحاظ کان هڪ مسلم قوم هئي، پر هاڻي اها بلڪل بي جان ٿي چڪي هئي. ٻئي پاسي انهن کي فرعون جهڙي جابر حڪمران جي سامهون توحيد جي دعوت پيش ڪرڻي هئي. ان ڪري الله تعاليٰ شروع ۾ ئي پاڻ عليه السلام کي لٺ جو معجزو عطا فرمائي ڇڏيو. اها لٺ حضرت موسيٰ عليه السلام لاءِ هڪ مستقل خدائي طاقت هئي. ان جي ذريعي فرعون جي مقابلي ۾ نَوَ معجزا ظاهر ٿيا. بني اسرائيل جي لاءِ ظاهر ٿيڻ وارا معجزا ان کان علاوه هئا.

حضرت موسيٰ عليه السلام جي معجزن آخري حد تائين سندس صداقت ثابت ڪري ڇڏي هئي. ان جي باوجود فرعون ۽ ان جي ساٿين پاڻ عليه السلام جو اعتراف نه ڪيو، ان جو سبب سندن ظلم ۽ تڪبر هو، فرعون ۽ ان جا ساٿي پنهنجي آزادي تي قيد لڳائڻ لاءِ تيار نه هئا. وڌيڪ اهو ته انهن کي خبر هئي ته موسيٰ جي ڳالهه کي مڃڻ پنهنجي وڏائي جي نفي ڪرڻ آهي ۽ ڪير آهي جيڪو پنهنجي وڏائي جي نفي جي قيمت تي سچائي کي مڃي.

وَ لَقَدۡ اٰتَيۡنَا دَاوٗدَ وَ سُلَيۡمٰنَ عِلۡمًا ۚ وَ قَالَا الۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِيۡ فَضَّلَنَا عَلٰى كَثِيۡرٍ مِّنۡ
عِبَادِهِ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿١٥﴾ وَ وَرِثَ سُلَيۡمٰنُ دَاوٗدَ وَ قَالَ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ عُلِّمۡنَا مَنۡطِقَ الطَّيۡرِ وَ
اُوۡتِيۡنَا مِنۡ كُلِّ شَيۡءٍ ؕ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الۡفَضۡلُ الۡمُبِيۡنُ ﴿١٦﴾

۽ اسان دائود ۽ سليمان کي علم عطا ڪيو ۽ انهن ٻنهي چيو ته شڪر آهي الله جو جنهن اسان کي پنهنجن گهڻن ئي ايمان وارن ٻانهن تي فضيلت عطا فرمائي ۽ دائود جو وارث سليمان ٿيو ۽ چيائين اي انسانو! اسان کي پکين جي ٻولي سيکاري وئي آهي ۽ اسان کي هر قسم جي شيءِ ڏني وئي آهي. بيشڪ اهو پڌرو فضل آهي. ١٥-١٦

حضرت دائود بني اسرائيل جا پيغمبر ۽ بادشاه هئا. پاڻؑ جا پٽ حضرت سليمان بہ پيغمبر ۽ بادشاه هئا. پاڻؑ جي سلطنت فلسطين ۽ اردن کان وٺي شام تائين ڦهليل هئي. پاڻؑ کي الله تعاليٰ مختلف قسم جي صنعتي معلومات ڏني هئي ۽ پاڻؑ کي معجزاتي طورتي ڪيترين ئي شين عطا ٿيون. مثلاً پکين جون ٻوليون سمجهڻ ۽ انهن کي تربيت ڏئي انهن کان مخبري جو ڪم وٺڻ وغيره. حضرت سليمانؑ کي پنهنجي زماني جي ماڻهن تي غيرمعمولي برتري حاصل هئي، پر ان برتري انهن ۾ صرف عاجزي جو جذبو پيدا ڪيو. انهن کي جيڪو ڪجهه حاصل هو، ان کي انهن براه راست خدا جو عطيو قرار ڏنو.

حضرت سليمانؑ جي حڪومت جو زمانو ٩٦٥ ق.م کان وٺي ٩٢٦ ق.م تائين جو آهي. ان لحاظ کان پاڻؑ تقريباً ٤٠ سال حڪمران رهيا.

وَ حُشِرَ لِسُلَيْمٰنَ جُنُوْدُهٗ مِنَ الْجِنِّ وَ الْاِنْسِ وَ الطَّيْرِ فَهُمْ يُوْزَعُوْنَ۝۱۷ حَتّٰۤى اِذَاۤ اَتَوْا عَلٰى وَادِ النَّمْلِ ۙ قَالَتْ نَمْلَةٌ يّٰۤاَيُّهَا النَّمْلُ ادْخُلُوْا مَسٰكِنَكُمْ ۚ لَا يَحْطِمَنَّكُمْ سُلَيْمٰنُ وَ جُنُوْدُهٗ ۙ وَ هُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ۝۱۸ فَتَبَسَّمَ ضَاحِكًا مِّنْ قَوْلِهَا وَ قَالَ رَبِّ اَوْزِعْنِيْۤ اَنْ اَشْكُرَ نِعْمَتَكَ الَّتِيْۤ اَنْعَمْتَ عَلَيَّ وَ عَلٰى وَالِدَيَّ وَ اَنْ اَعْمَلَ صَالِحًا تَرْضٰىهُ وَ اَدْخِلْنِيْ بِرَحْمَتِكَ فِيْ عِبَادِكَ الصّٰلِحِيْنَ۝۱۹

۽ سليمان لاءِ جنن ۽ ماڻهن ۽ پکين مان سندس لشڪر جمع ڪيا ويا، پوءِ انهن جون جماعتون ڌاهيون ويون، ايستائين جڏهن اهي ڪولين جي وادي پهتا، هڪ ڪول چيو اي ڪوليون! پنهنجي ٻرن ۾ گهڙي وڃو ڪٿي سليمان ۽ ان جو لشڪر توهان کي بيخبري ۾ لتاڙي نہ ڇڏي. پوءِ سليمان ان جي ڳالهہ تي مرڪندي کلي پيو ۽ چيائين ۽ اي منهنجا رب! مون کي توفيق ڏي تہ آئون تنهنجي نعمت جو شڪر ادا ڪريان جيڪا تو مون تي ۽ منهنجي والدين تي ڪئي آهي ۽ اهو تہ آئون نيڪ ڪم ڪريان جيڪي توکي پسند هجن ۽ پنهنجي رحمت سان تون مون کي پنهنجي نيڪ ٻانهن ۾ داخل ڪر. ١٧-١٩

---

حضرت سليمانؑ جي لشڪر ۾ نہ رڳو انسان هئا، بلڪ جن ۽ پکي بہ پاڻؑ جي فوج ۾ شامل هئا. حضرت سليمانؑ جو لشڪر هڪ دفعو ڪنهن وادي مان گذريو جتي ڪولين تمام وڏي تعداد ۾ هيون. ڪولين غيرمعمولي طور تي پاڻؑ جي لشڪر جي عظمت جو اعتراف ڪيو. ڪولين ان موقعي تي جيڪا گفتگو ڪئي، ان کي حضرت سليمانؑ بہ سمجهي ورتو.

اهڙي طرح جو ڪو واقعو هڪ عام انسان کي فخر ۽ غرور ۾ مبتلا ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي، پر حضرت سليمانؑ پنهنجي ان حال کي ڏسي سراسر شڪر بڻجي ويا. جيڪي ڪجهه بظاهر خود انهن کي حاصل هو، ان کي انهن پوري طور تي خدا سان منسوب ڪري ڇڏيو. اهوئي آهي صالح انسان جو طريقو.

وَ تَفَقَّدَ الطَّيْرَ فَقَالَ مَا لِيَ لَاۤ اَرَى الْهُدْهُدَ ۖ اَمْ كَانَ مِنَ الْغَآئِبِيْنَ۝۲۰ لَاُعَذِّبَنَّهٗ عَذَابًا شَدِيْدًا اَوْ لَاۡاَذْبَحَنَّهٗۤ اَوْ لَيَاْتِيَنِّيْ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ۝۲۱ فَمَكَثَ غَيْرَ بَعِيْدٍ فَقَالَ اَحَطْتُّ بِمَا

لَمْ تُحِطْ بِهٖ وَ جِئْتُكَ مِنْ سَبَاٍۭ بِنَبَاٍ يَّقِيْنٍ ۝٢٢ اِنِّيْ وَجَدْتُّ امْرَاَةً تَمْلِكُهُمْ وَ اُوْتِيَتْ مِنْ
كُلِّ شَيْءٍ وَّ لَهَا عَرْشٌ عَظِيْمٌ ۝٢٣ وَجَدْتُّهَا وَ قَوْمَهَا يَسْجُدُوْنَ لِلشَّمْسِ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ
وَ زَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ فَصَدَّهُمْ عَنِ السَّبِيْلِ فَهُمْ لَا يَهْتَدُوْنَ ۝٢٤ اَلَّا
يَسْجُدُوْا لِلّٰهِ الَّذِيْ يُخْرِجُ الْخَبْءَ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ يَعْلَمُ مَا تُخْفُوْنَ وَ مَا
تُعْلِنُوْنَ ۝٢٥ اَللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ۝٢٦ السجدة ١٣

۽ سليمان پڪين جو جائزو ورتو ته ڇيائين ڇا ڳالهه آهي ته آئون هُد هُد کي نه ڏسي رهيو **آهيان**. ڇا هو ڪٿي غائب ٿي ويو آهي آئون ان کي سخت سزا ڏيندس يا ان کي ذبح ڪندس يا هو منهنجي سامهون ڪو پڌرو دليل آڻي، گهڻي دير نه گذري جو ان اچي چيو ته مون هڪ شيءِ جي خبر آندي آهي جنهن جي تو کي خبر نه هئي ۽ مون سبا ڪان هڪ پڪي خبر آندي آهي. مون ڏٺو ته هڪ عورت انهن تي بادشاهي ڪندي آهي ۽ ان کي هر شيءِ ميسر آهي ۽ ان جو هڪ وڏو تخت آهي. مون ان کي ۽ ان جي قوم کي الله کان سواءِ سج کي سجدو ڪندي ڏٺو ۽ شيطان سندن عملن کي سندن لاءِ سينگاريو آهي. پوءِ انهن کي واٽ کان روڪي ڇڏيو تنهن ڪري اُهي راهه نه ٿا لهن، اُهي الله کي ڇو نه ٿا سجدو ڪن، جيڪو آسمانن ۽ زمين جي ڳجهين شين کي پڌرو ڪندو آهي ۽ هو ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهه توهان لڪائيندا آهيو ۽ جيڪو ڪجهه توهان ظاهر ڪندا **آهيو. الله**، ان کان سواءِ ڪو معبود نه آهي مالڪ عرش عظيم جو. ٢٠-٢٦

---

سبا (Sabaeans) قديم زماني جي هڪ دولتمند قوم هئي ان جو زمانو ١١٠٠ قبل مسيح کان ١١٥ قبل مسيح آهي. ان جو مرڪز مارب (يمن) هو. ان علائقي ۾ اڄ به انهن جا شاندار ڪنڊر ملن ٿا. حضرت سليمانؑ جي زماني ۾ هتي هڪ عورت (بلقيس) جي حڪومت هئي. اهي ماڻهو سج جي پرستش ڪندا هئا. شيطان انهن کي سيکاريو ته معبود اهوئي ٿي سگهي ٿو جيڪو سيني کان وڌيڪ نمايان هجي، سج ڇاڪاڻ ته سيني ڏسڻ ۾ اچڻ وارين شين ۾ سڀ کان وڌيڪ نمايان آهي. ان ڪري اهوئي ان قابل آهي ته ان کي معبود سمجهيو وڃي ۽ ان جي پرستش ڪئي وڃي.

هُد هُد جي ذريعي حضرت سليمان کي سبا جي قوم جي باري ۾ مڪمل معلومات حاصل ٿي. اهو هُد هُد گهڻو ڪري پاڻؑ جي پکين واري فوج سان تعلق رکندو هو ۽ باقاعده تربيت يافته هو.

قَالَ سَنَنْظُرُ اَصَدَقْتَ اَمْ كُنْتَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ۝٢٧ اِذْهَبْ بِّكِتٰبِيْ هٰذَا فَاَلْقِهْ اِلَيْهِمْ ثُمَّ
تَوَلَّ عَنْهُمْ فَانْظُرْ مَاذَا يَرْجِعُوْنَ ۝٢٨ قَالَتْ يٰۤاَيُّهَا الْمَلَؤُا اِنِّيْۤ اُلْقِيَ اِلَيَّ كِتٰبٌ كَرِيْمٌ ۝٢٩
اِنَّهٗ مِنْ سُلَيْمٰنَ وَ اِنَّهٗ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝٣٠ اَلَّا تَعْلُوْا عَلَيَّ وَ اْتُوْنِيْ
ع ٢ ١٧ ١٧ مُسْلِمِيْنَ ۝٣١ قَالَتْ يٰۤاَيُّهَا الْمَلَؤُا اَفْتُوْنِيْ فِيْۤ اَمْرِيْ ۚ مَا كُنْتُ قَاطِعَةً اَمْرًا حَتّٰى
تَشْهَدُوْنِ ۝٣٢ قَالُوْا نَحْنُ اُولُوْا قُوَّةٍ وَّ اُولُوْا بَاْسٍ شَدِيْدٍ ۙ وَّ الْاَمْرُ اِلَيْكِ فَانْظُرِيْ مَاذَا
تَاْمُرِيْنَ ۝٣٣ قَالَتْ اِنَّ الْمُلُوْكَ اِذَا دَخَلُوْا قَرْيَةً اَفْسَدُوْهَا وَ جَعَلُوْۤا اَعِزَّةَ اَهْلِهَاۤ اَذِلَّةً ۚ وَ

كَذٰلِكَ يَفۡعَلُوۡنَ ﴿٣٤﴾ وَاِنِّيۡ مُرۡسِلَةٌ اِلَيۡهِمۡ بِهَدِيَّةٍ فَنٰظِرَةٌۢ بِمَ يَرۡجِعُ الۡمُرۡسَلُوۡنَ ﴿٣٥﴾

سليمان چيو اسان ڏسنداسون تہ تو سچ چيو يا تون ڪوڙن مان آهين. منهنجو هي خط ڪڻي وڃ. پوءِ ان کي انهن ڏانهن اڇلائي ڇڏ. پوءِ انهن کان هٽي وڃجانءِ. پوءِ ڏسجانءِ تہ هو ڇا ردعمل ظاهر ڪن ٿا. سبا جي ملڪ چيو تہ اي دربار وارو! مون ڏانهن هڪ سڳورو خط اڇليو ويو آهي. اهو سليمان طرفان آهي ۽ بيشڪ اهو الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان آهي. منهنجي مقابلي ۾ سرڪشي نہ ڪريو ۽ فرمانبردار ٿي ڪري مون وٽ اچو. ملڪ چيو تہ اي دربار وارو! منهنجي معاملي ۾ مون کي صلاح ڏيو. آئون ڪنهن معاملي جو فيصلو نہ ڪندي آهيان، جيستائين توهان حاضر نہ هجو. انهن چيو اسان زورآور ماڻهو آهيون ۽ سخت ويڙهاڪ آهيون ۽ فيصلو توهان جي اختيار ۾ آهي. پوءِ تون پاڻ ڏسي وٺ تہ ڪهڙو حڪم ٿي ڏئين. ملڪ چيو تہ بادشاهہ جڏهن ڪنهن وسندي ۾ داخل ٿيندا آهن تہ ان کي خراب ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ان جي عزت وارن کي ذليل ڪندا آهن ۽ اهوئي هي ماڻهو ڪندا ۽ آئون انهن ڏانهن هڪ سوکڙي موڪليان ٿي. پوءِ ڏسان ٿي تہ سفير ڪهڙو جواب آڻين ٿا. ٢٧-٣٥

---

حضرت سليمان عليه السلام جي قوت ۽ سلطنت هڪ خدائي عطيو هئي. اهڙي طرح پاڻ عليه السلام سبا جي حڪومت سان جيڪو معاملو ڪيو، اهو بہ هڪ خدائي معاملو هو. عبدالقادر دهلوي آيت ٣٧ جي هيٺ لکندا آهن ”۽ ڪنهن پيغمبر اهڙي طرح جي ڳالهہ نہ فرمائي سليمان عليه السلام کي حق تعالیٰ جي سلطنت جو زور هو جو ايئن فرمايو.“

ملڪ سبا (بلقيس) معاملي کي خالص حقيقت جي نظر سان ڏٺو. ان اها راءِ قائم ڪئي تہ جيڪڏهن اسان سليمان عليه السلام جي طاقت سان ٽڪر وٺون تہ گهڻو امڪان اهو آهي تہ اسان هارائجي وڃون ۽ پوءِ اسان سان اهوئي ڪيو ويندو جيڪو هر غالب قوم مغلوب قوم سان ڪندي آهي. ان جي ابتڙ جيڪڏهن اسان اطاعت قبول ڪري وٺون تہ اسان تباهي کان بچي وينداسون. پوءِ ملڪ ابتدائي اندازو لڳائڻ لاءِ تحفا موڪلڻ جو طريقو اختيار ڪيو، تہ جيئن معلوم ٿي وڃي تہ سليمان عليه السلام اسان جي دولت جو خواهشمند آهي يا ان کان سواءِ ان جو اسان کان ڪو اصولي مطالبو آهي.

فَلَمَّا جَآءَ سُلَيۡمٰنَ قَالَ اَتُمِدُّوۡنَنِ بِمَالٍ فَمَاۤ اٰتٰىنِۦَ اللّٰهُ خَيۡرٌ مِّمَّاۤ اٰتٰىكُمۡ ۚ بَلۡ اَنۡتُمۡ بِهَدِيَّتِكُمۡ تَفۡرَحُوۡنَ ﴿٣٦﴾ اِرۡجِعۡ اِلَيۡهِمۡ فَلَنَاۡتِيَنَّهُمۡ بِجُنُوۡدٍ لَّا قِبَلَ لَهُمۡ بِهَا وَلَنُخۡرِجَنَّهُمۡ مِّنۡهَاۤ اَذِلَّةً وَّهُمۡ صٰغِرُوۡنَ ﴿٣٧﴾

پوءِ جڏهن سفير سليمان وٽ پهتو، ان چيو ڇا توهان مال سان منهنجي مدد ڪرڻ چاهيو ٿا. پوءِ الله جيڪو ڪجهہ مون کي ڏنو آهي، اهو ان کان بهتر آهي جيڪو ان توهان کي ڏنو آهي، بلڪ توهان ئي پنهنجن تحفن سان خوش ٿيو. انهن وٽ واپس موٽي وڃو. اسان انهن تي اهڙ لشڪر وٺي ايندا سون جن جو مقابلو اُهي نہ ڪري سگهندا ۽ اسان انهن کي اُتان بيعزت ڪري ڪڍي ڇڏينداسون ۽ اهي خوار ٿيندا. ٣٦-٣٧

---

حضرت سليمان عليه السلام کي نبوت ۽ خدائي معرفت جي شڪل ۾ جيڪا قيمتي دولت مليل هئي، ان جي مقابلي ۾ هر ٻي دولت سندس نظر ۾ حقير ٿي چڪي هئي، تنهن ڪري ملڪ سبا طرفان جيڪي انهن وٽ سون، چاندي جا تحفا پهتا تہ انهن اُن ڏانهن نگاهہ بہ نہ ڪئي.

حضرت سليمانؑ پنهنجي عمل سان ملڪ سبا جي سفيرن کي اهو تاثر ڏنو ته منهنجو معاملو اصولي معاملو آهي نه وري مفاد جو معاملو. مفسر ابن ڪثير ان جي تشريح ۾ هي لفظ لکي ٿو اي اتصا تعوني بما لاترككم عليٰ شرككم و ملككم. يعني ڇا توهان مال ڏئي مون کي متاثر ڪرڻ چاهيو ٿا ته آئون توهان کي توهان جي شرڪ تي ڇڏي ڏيان ۽ توهان جي حڪومت توهان وٽ رهڻ ڏيان.

قَالَ يٰۤاَيُّهَا الۡمَلَؤُا اَيُّكُمۡ يَاۡتِيۡنِىۡ بِعَرۡشِهَا قَبۡلَ اَنۡ يَّاۡتُوۡنِىۡ مُسۡلِمِيۡنَ ﴿۳۸﴾ قَالَ عِفۡرِيۡتٌ مِّنَ الۡجِنِّ اَنَا اٰتِيۡكَ بِهٖ قَبۡلَ اَنۡ تَقُوۡمَ مِنۡ مَّقَامِكَ ۚ وَاِنِّىۡ عَلَيۡهِ لَقَوِىٌّ اَمِيۡنٌ ﴿۳۹﴾ قَالَ الَّذِىۡ عِنۡدَهٗ عِلۡمٌ مِّنَ الۡكِتٰبِ اَنَا اٰتِيۡكَ بِهٖ قَبۡلَ اَنۡ يَّرۡتَدَّ اِلَيۡكَ طَرۡفُكَ ؕ فَلَمَّا رَاٰهُ مُسۡتَقِرًّا عِنۡدَهٗ قَالَ هٰذَا مِنۡ فَضۡلِ رَبِّىۡ ۖ لِيَبۡلُوَنِىۡۤ ءَاَشۡكُرُ اَمۡ اَكۡفُرُ ؕ وَمَنۡ شَكَرَ فَاِنَّمَا يَشۡكُرُ لِنَفۡسِهٖ ۚ وَمَنۡ كَفَرَ فَاِنَّ رَبِّىۡ غَنِىٌّ كَرِيۡمٌ ﴿۴۰﴾

سليمان چيو اي دربار وارو! توهان مان ڪير ان جو تحت مون وٽ آڻي ٿو، ان کان پهرين جو اهي ماٺهو تابعدار ٿي مون وٽ اچن. جنن مان هڪ وڏي جن چيو آئون ان کي توهان وٽ آڻيندس ان کان پهرين جو توهان پنهنجي جاءِ تان اٿو ۽ آئون ان تي قدرت رکڻ وارو امانتدار آهيان. جنهن وٽ ڪتاب جو هڪ علم هو، ان چيو آئون تنهنجي نگاهه جي توڏانهن موٽڻ کان پهرين ان کي تو وٽ آڻيندس، پوءِ جڏهن ان تخت کي پاڻ وٽ رکيل ڏٺو ته ان چيو اهو منهنجي رب جو فضل آهي، ته جيئن هو مون کي جانچي ته آئون شڪر ڪريان ٿو يا ناشڪري ۽ جيڪو ماڻهو شڪر ڪندو، هو پنهنجي ئي لاءِ شڪر ڪندو آهي ۽ جيڪو شخص ناشڪري ڪري ته منهنجو رب بي نياز آهي ڪرم ڪرڻ وارو آهي. ٣٨-٤٠

---

حضرت سليمانؑ وٽ جيتوڻيڪ غيرمعمولي طاقت هئي. پر انهن طاقت جي استعمال جي بجاءِ طاقت جي مظاهري ذريعي سبا جي قوم کي شڪست ڏيڻ جو منصوبو ٺاهيو. تنهن ڪري پاڻؑ پنهنجي خاص ڪامورن ذريعي ملڪ جي تخت کي مارب (Marib) جي محل کان يروشلم (فلسطين) گهرائي ورتو. تخت کي گهرائڻ جو واقعو غالباً ان وقت پيش آيو، جڏهن تحفن جي واپسي کان پوءِ ملڪ سبا يمن کان فلسطين لاءِ رواني ٿي ته جيئن هو حضرت سليمانؑ جي دربار ۾ پهچي پاڻؑ سان گفتگو ڪري، ملڪ سبا پنهنجن خادمن سان اهو سفر يقيناً ان وقت ڪيو هوندو، جڏهن ان جو سفارتي وفد واپس وڃي حضرت سليمان جون حڪمت واريون ڳالهيون ۽ پاڻؑ جي غيرمعمولي ڪردار جي شهادت ڏني هوندي ۽ پاڻؑ جي غيرمعمولي عظمت جو حال بيان ڪيو هوندو.

مارب کان يروشلم جو فاصلو تقريباً ڏيڍ هزار ميل جو آهي، اهو ڊگهو فاصلو اهڙي طرح طي ٿيو جو هتي حضرت سليمانؑ جي زبان مان حڪم جا لفظ نڪتا ۽ اتي هيرن ۽ جواهرن سان جڙيل تخت انهن جي سامهون رکيل موجود هو، ان غيرمعمولي قوت جي باوجود حضرت سليمان جي اندر فخر جو ڪو جذبو پيدا نه ٿيو. اهي سراسر عاجز بڻجي خدا جي اڳيان جهڪيل رهيا.

قَالَ نَكِّرُوۡا لَهَا عَرۡشَهَا نَنۡظُرۡ اَتَهۡتَدِىۡۤ اَمۡ تَكُوۡنُ مِنَ الَّذِيۡنَ لَا يَهۡتَدُوۡنَ ﴿۴۱﴾ فَلَمَّا جَآءَتۡ

قِيْلَ اَهٰكَذَا عَرْشُكِ ؕ قَالَتْ كَاَنَّهٗ هُوَ ۚ وَ اُوْتِيْنَا الْعِلْمَ مِنْ قَبْلِهَا وَ كُنَّا مُسْلِمِيْنَ ﴿۴۲﴾ وَ
صَدَّهَا مَا كَانَتْ تَّعْبُدُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ اِنَّهَا كَانَتْ مِنْ قَوْمٍ كٰفِرِيْنَ ﴿۴۳﴾ قِيْلَ لَهَا ادْخُلِي
الصَّرْحَ ۚ فَلَمَّا رَاَتْهُ حَسِبَتْهُ لُجَّةً وَّ كَشَفَتْ عَنْ سَاقَيْهَا ؕ قَالَ اِنَّهٗ صَرْحٌ مُّمَرَّدٌ مِّنْ
قَوَارِيْرَ ؕ قَالَتْ رَبِّ اِنِّيْ ظَلَمْتُ نَفْسِيْ وَ اَسْلَمْتُ مَعَ سُلَيْمٰنَ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۴۴﴾

سليمان چيو تہ ان جي تخت جي (شڪل) مٽايو. ڏسون ٿا تہ هوءَ سمجهي ٿي يا انهن ماڻهن مان ٿئي ٿي جن کي سمجهہ نہ آهي. پوءِ جڏهن هو آئي تہ چيو ويو ڇا تنهنجو تخت اهڙو ئي آهي. ان چيو ڄڻ تہ هي اهو ئي آهي ۽ اسان کي ان کان اڳ معلوم ٿي چڪو هو ۽ اسان فرمانبردارن مان آهيون ۽ ان کي روڪي رکيو هو انهن شين جن کي هو الله کان سواءِ پوڄيندي هئي. هو منڪر ماڻهن مان هئي. ان کي چيو ويو تہ محل ۾ داخل ٿي، پوءِ جڏهن هن ان کي ڏٺو تہ ان خيال ڪيو تہ اِهو اونهو پاڻي آهي ۽ پنهنجي ٻنهي پنين کي ظاهر ڪيائين، سليمان چيو هي تہ هڪ محل آهي جيڪو شيشن سان ٺاهيو ويو آهي. ان چيو تہ اي منهنجا رب! مون پنهنجي جان تي ظلم ڪيو ۽ مون سليمان سان گڏ الله رب العالمين تي ايمان آندو. ٤١-٤٤

---

ملڪ سبا پنهنجي ملڪ کان رواني ٿي بيت المقدس پهتي. هتي هوءَ حضرت سليمانؑ جي محل ۾ داخل ٿي تہ ان جي سامهون هڪ تخت آندو ويو ۽ چيو ويو تہ ڏس ڇا اهو تنهنجو تخت آهي، اهو ڏسي هو خدا جي قدرت تي حيران رهجي وئي تہ پنهنجي جنهن تخت کي هو مارب جي محل ۾ محفوظ ڪري آئي هئي، اهو پراسرار طور تي ڏيڍ هزار ميل جو فاصلو طي ڪري بيت المقدس پهچي ويو آهي.

حضرت سليمانؑ جي محل ۾ داخل ٿي ملڪ سبا هڪ اهڙي مقام تي پهتي جتي جو فرش صاف شفاف شيشي جي ٽلهن تختن مان ٺاهيو ويو هو ۽ ان جي هيٺ پاڻي وهي رهيو هو. ملڪ جڏهن هلندي اتي پهتي تہ ان کي اوچتو محسوس ٿيو تہ ان جي اڳيان پاڻي جو تلاءُ آهي. ان وقت ان اهوئي ڪيو جيڪو پاڻي ۾ لهڻ وارو هر ماڻهو ڪندو آهي. يعني ان غير ارادي طور تي پنهنجا ڪپڙا مٿي ڪيا.

اهڙي طرح ڄڻ تہ عملي تجربي جي زبان ۾ ان کي ٻڌايو ويو تہ انسان ظاهر کي ڏسي دوکو کائي ويندو آهي، پر اصل حقيقت اڪثر ان کان مختلف هوندي آهي جيڪا ظاهري اکين سان ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ماڻهو ظاهري طور تي سج ۽ چنڊ کي نمايان ڏسي انهن جي پرستش ڪرڻ لڳندو آهي، حالانڪ حقيقي خدا ان کان مٿانهون آهي.

ملڪ سبا اجا تائين قومي روايتن جي زير اثر سج جي پرستش ڪري رهي هئي. پر حضرت سليمانؑ وٽ پهچي ان جيڪو ڪجهہ ٻڌو ۽ جيڪو ڪجهہ ڏٺو، ان هن جي ذهن مان غيرالله جي عظمت جو مڪمل خاتمو ڪري ڇڏيو. ان شرڪ جي دين کي ڇڏي ڏنو ۽ توحيد جي دين کي دل سان اختيار ڪري ورتو.

وَ لَقَدْ اَرْسَلْنَاۤ اِلٰى ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صٰلِحًا اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ فَاِذَا هُمْ فَرِيْقٰنِ يَخْتَصِمُوْنَ ﴿۴۵﴾ قَالَ
يٰقَوْمِ لِمَ تَسْتَعْجِلُوْنَ بِالسَّيِّئَةِ قَبْلَ الْحَسَنَةِ ۚ لَوْ لَا تَسْتَغْفِرُوْنَ اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿۴۶﴾
قَالُوا اطَّيَّرْنَا بِكَ وَبِمَنْ مَّعَكَ ؕ قَالَ طٰٓئِرُكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ تُفْتَنُوْنَ ﴿۴۷﴾

۽ اسان ثمود ڏانهن سندن ڀاءُ صالح کي موڪليو تہ الله جي عبادت ڪريو. پوءِ اهي ٻہ ڌريون ٿي پاڻ ۾ جهڳڙو ڪرڻ لڳا. ان چيو تہ اي منهنجي قوم! توهان ڀلائي کان اڳ برائي جي لاءِ ڇو جلدي ڪري رهيا آهيو. توهان الله کان معافي ڇو نہ ٿا گهرو، تہ جيئن توهان تي رحم ڪيو وڃي. انهن چيو اسان تہ توکي ۽ جيڪي توسان گڏ آهن انهن کي نياڳو سمجهون ٿا. ان چيو توهان جو نياڳ الله وٽ آهي، بلڪ توهان تہ آزمايا پيا وڃون. ٤٥-٤٧

---

حضرت صالحؑ توحيد جي دعوت شروع ڪئي تہ سندس قوم ٻن طبقن ۾ ورهائجي وئي. جيڪي ماڻهو قوم جا وڏا هئا، اهي پنهنجي وڏائي ۾ گم رهيا ۽ حضرت صالح جي ملاوٽ کان پاڪ دين کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيا، البتہ عام ماڻهن مان ڪجھ ماڻهو هئا جن پاڻؑ جي سڏ تي لبيڪ چيو.

ٻنهي ٽولن ۾ اختلافي بحث شروع ٿي ويا. وڏا ماڻهو فخر واري انداز ۾ چوندا هئا تہ اسان توهان جا منڪر آهيون، پوءِ اسان جي انڪار تي جيڪو عذاب تون آڻي سگهين ٿو تہ آڻ. ڪڏهن ڪا مصيبت پوندي هئي تہ هو چئي ڏيندا هئا تہ صالح ۽ ان جي ساٿين جي نحوست جي ڪري هي بلا اسان جي مٿان آئي آهي، اهي ڳالهيون هو حضرت صالحؑ ۽ سندس دعوت جي تحقير طور چوندا هئا، نہ ورري سنجيده خيال جي ڪري. سندن سٺي حالت ۽ سندن بري حالت ٻئي الله طرفان هيون، پر سٺي حالت مان انهن ڪوڙي فخر جي غذا ورتي ۽ بري حالت مان ڪوڙي شڪايت جي.

سندن وچ ۾ حق جي داعي جو اچڻ سندن لاءِ الله جو هڪ امتحان هو، اهي ان آزمائش جي ميدان ۾ ڪڙا ڪيا ويا هئا تہ هو حق کي سچائي ان جو ساٿ ڏين ٿا يا ان جي مقابلي ۾ انڌا ۽ ٻوڙا ٿي رهن ٿا. پر اهي اجاين ڳالهين ۾ الجهي رهجي ويا ۽ اصل معاملي کي سمجهڻ ۾ ناڪام رهيا.

وَ كَانَ فِي الْمَدِيْنَةِ تِسْعَةُ رَهْطٍ يُّفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ وَ لَا يُصْلِحُوْنَ ﴿۴۸﴾ قَالُوْا تَقَاسَمُوْا
بِاللّٰهِ لَنُبَيِّتَنَّهٗ وَ اَهْلَهٗ ثُمَّ لَنَقُوْلَنَّ لِوَلِيِّهٖ مَا شَهِدْنَا مَهْلِكَ اَهْلِهٖ وَ اِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿۴۹﴾ وَ
مَكَرُوْا مَكْرًا وَّ مَكَرْنَا مَكْرًا وَّ هُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿۵۰﴾ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ مَكْرِهِمْ ۙ
اَنَّا دَمَّرْنٰهُمْ وَ قَوْمَهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿۵۱﴾ فَتِلْكَ بُيُوْتُهُمْ خَاوِيَةًۢ بِمَا ظَلَمُوْا ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً
لِّقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿۵۲﴾ وَ اَنْجَيْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ كَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿۵۳﴾

۽ شهر ۾ نَوَ ماڻهو هئا جيڪي زمين ۾ فساد ڪندا هئا ۽ اصلاح جو ڪم نہ ڪندا هئا. انهن چيو توهان الله جو قسم کڻو تہ اسان ان کي ۽ ان جي گهروارن کي راتاهون هڻي هلاڪ ڪري ڇڏيون. پوءِ سندس وارث کي چونداسون تہ اسان ان جي گهروارن جي هلاڪ ٿيڻ وقت موجود نہ هئاسون ۽ بيشڪ اسان سچا آهيون ۽ انهن هڪ تدبير ڪئي ۽ اسان بہ هڪ تدبير ڪئي ۽ انهن کي خبر بہ نہ پئي. پوءِ ڏسو ڪهڙو انجام ٿيو سندن تدبير جو. اسان انهن کي ۽ سندن سڄي قوم کي هلاڪ ڪري ڇڏيو. پوءِ هي آهن انهن جا گهر ويران پيل سندن ظلم جي ڪري، بيشڪ ان ۾ سبق آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي سمجهن ۽ اسان انهن ماڻهن کي بچائي ورتو جن ايمان آندو ۽ جيڪي ڊڄندا هئا. ٤٨-٥٣

---

قوم ۾ نَوَ وڏا سردار هئا. هو پنهنجي وڏائي کي باقي رکڻ لاءِ حق کي گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش

۾ هوندا هئا ۽ اهڙي قسم جي ڪوشش بيشڪ خدا جي زمين تي سڀ کان وڏو فساد آهي.

انهن سردارن آخري مرحلي ۾ حضرت صالح عليه السلام کي هلاڪ ڪرڻ جي سازش ڪئي، پر ان کان اڳ ۾ جو هو پنهنجي خفيه منصوبي مطابق حضرت صالح عليه السلام جي خلاف ڪا اڳرائي ڪن، خدا خود انهن کي پڪڙي ورتو. هو پنهنجي سڄي وڏائي جي باوجود اهڙي طرح برباد ڪيا ويا جو سندن قديم وسندين ۾ هاڻي رڳو ڪنڊر سندن يادگار طور باقي رهيا آهن.

اهڙي قسم جي تاريخي واقعن ۾ زبردست سبق لڪيل آهي. پر ان مان سبق اهوئي ماڻهو حاصل ڪندو جيڪو ان کي الله جي قانون سان جوڙيندو، ان جي ابتڙ جيڪو ماڻهو ان کي زماني جي اسبابن سان جوڙيندو، اهو ان مان ڪو به سبق حاصل نه ڪري سگهندو.

وَ لُوۡطًا اِذۡ قَالَ لِقَوۡمِهٖۤ اَتَاۡتُوۡنَ الۡفَاحِشَةَ وَ اَنۡتُمۡ تُبۡصِرُوۡنَ ﴿٥٤﴾ اَئِنَّكُمۡ لَتَاۡتُوۡنَ الرِّجَالَ
شَهۡوَةً مِّنۡ دُوۡنِ النِّسَآءِ ؕ بَلۡ اَنۡتُمۡ قَوۡمٌ تَجۡهَلُوۡنَ ﴿٥٥﴾ فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوۡمِهٖۤ اِلَّاۤ اَنۡ
قَالُوۡۤا اَخۡرِجُوۡۤا اٰلَ لُوۡطٍ مِّنۡ قَرۡيَتِكُمۡ ۚ اِنَّهُمۡ اُنَاسٌ يَّتَطَهَّرُوۡنَ ﴿٥٦﴾ فَاَنۡجَيۡنٰهُ وَ اَهۡلَهٗۤ اِلَّا
ع ١٤ ١٩ امۡرَاَتَهٗ ۫ قَدَّرۡنٰهَا مِنَ الۡغٰبِرِيۡنَ ﴿٥٧﴾ وَ اَمۡطَرۡنَا عَلَيۡهِمۡ مَّطَرًا ۚ فَسَآءَ مَطَرُ الۡمُنۡذَرِيۡنَ ﴿٥٨﴾ ع
قُلِ الۡحَمۡدُ لِلّٰهِ وَ سَلٰمٌ عَلٰى عِبَادِهِ الَّذِيۡنَ اصۡطَفٰى ؕ آٰللّٰهُ خَيۡرٌ اَمَّا يُشۡرِكُوۡنَ ﴿٥٩﴾ ط

۽ لوط کي جڏهن ان پنهنجي قوم کي چيو ڇا توهان بيحيائي ڪندا آهيو ۽ توهان ڏسو ٿا. ڇا توهان عورتن کي ڇڏي مردن ڏانهن شهوت سان ويندا آهيو. بلڪ توهان جاهل قوم آهيو. پوءِ ان جي قوم جو جواب ان کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه هو ته انهن لوط جي گهروارن کي پنهنجي وسندي مان ڪڍي ڇڏيو. اهي ماڻهو پاڪ صاف بڻجن ٿا. پوءِ اسان ان کي ۽ ان جي ماڻهن کي نجات ڏني، سواءِ ان جي زال جي جنهن جو پوئتي رهجي وڃڻ اسان طي ڪري ڇڏيو هو ۽ اسان انهن تي مينهن وسايو سون. پوءِ ڪهڙو نه برو وسائڻ هو انهن تي جن کي ديڄاريو ويو هو. چئو سڀ ساراهه آهي الله جي لاءِ ۽ سلام هجي ان جي انهن ٻانهن تي جن کي ان چونڊيو. ڇا الله بهتر آهي يا اهي جن کي هو شريڪ ڪندا آهن. ٥٤-٥٩

---

لوط عليه السلام جي قوم لذت جي ڪري مرد پرستي جي حدتائين پهچي وئي هئي. حضرت لوط عليه السلام قوم جي ضمير کي جاڳائيندي چيو ته الله جا ٻانها توهان کي اک ڏني وئي آهي ته ڏسو ۽ چڱائي ۽ برائي جي تميز ڏني وئي آهي ته سڃاڻو، پوءِ توهان ڪيئن اهو ڪم ڪندا آهيو جيڪو پڌري بيحيائي جو ڪم آهي.

قوم وٽ ان جو ڪو به جواب نه هو. اهي پيغمبر جي ڳالهه کي دليل سان رد نه ڪري سگهيا، ان ڪري اهي پيغمبر جي خلاف اڳرائي تي آماده ٿي ويا، پر جڏهن اها نوبت اچي وڃي ته پوءِ بنا ڪنهن دير جي خدا جو فيصلو اچي ويندو آهي. تنهن ڪري الله تعاليٰ برندڙ جبل مان اڏامندڙ مادي جو مينهن وسائي انهن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو. ان خدائي فيصلي کان حضرت لوط عليه السلام جي زال به نه بچي سگهي، جيڪا مشرڪن سان مليل هئي. الله تعاليٰ جو معاملو هر ماڻهو سان ان جي ذاتي عمل جي بنياد تي هوندو آهي، نه وري مائٽي واري تعلق جي بنياد تي.

تاريخ جي انهن واقعن تي جيڪو ماڻهو غور ڪندو، اهو چئي ڏيندو ته ان الله تعاليٰ جو شڪر آهي جنهن هر دور ۾ انسان جي رهنمائي جو انتظام ڪيو ۽ پوءِ انهن ۾انهن جي عقيدت سان سندس سينو پرجي ويندو جن پنهنجي زندگي ڪامل طور تي الله تعاليٰ جي حوالي ڪري الله تعاليٰ جي هدايت واري منصوبي جي تڪميل ڪئي.

الجزء العشرون

اَمَّنۡ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ وَ اَنۡزَلَ لَکُمۡ مِّنَ السَّمَآءِ مَآءً ۚ فَاَنۡۢبَتۡنَا بِہٖ حَدَآئِقَ ذَاتَ بَہۡجَۃٍ ۚ مَا کَانَ لَکُمۡ اَنۡ تُنۡۢبِتُوۡا شَجَرَہَا ؕ ءَاِلٰہٌ مَّعَ اللّٰہِ ؕ بَلۡ ہُمۡ قَوۡمٌ یَّعۡدِلُوۡنَ ﴿۶۰﴾ اَمَّنۡ جَعَلَ الۡاَرۡضَ قَرَارًا وَّ جَعَلَ خِلٰلَہَاۤ اَنۡہٰرًا وَّ جَعَلَ لَہَا رَوَاسِیَ وَ جَعَلَ بَیۡنَ الۡبَحۡرَیۡنِ حَاجِزًا ؕ ءَاِلٰہٌ مَّعَ اللّٰہِ ؕ بَلۡ اَکۡثَرُہُمۡ لَا یَعۡلَمُوۡنَ ﴿۶۱﴾

ڀلا اهو ڪير آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو ۽ توهان لاءِ آسمان مان پاڻي وسايو، پوءِ اسان ان سان رونق وارا باغ ڄمايا سون، توهان جي وس ۾ نه هو جو توهان انهن وڻن کي ڄمائي سگهو ها. ڇا الله سان ڪو ٻيو معبود آهي، بلڪ اهي راهه کان هٽيل ماڻهو آهن. ڀلا ڪنهن زمين کي ٽڪاءُ جي لائق بڻايو ۽ ان جي وچ ۾ نهرون جاري ڪيون ۽ ان لاءِ هن جبل بڻايا ۽ ٻن سمنڊن جي وچ ۾ اوٽ بڻائي، ڇا الله تعاليٰ سان ڪو ٻيو معبود آهي، بلڪ انهن مان اڪثر ماڻهو نٿا ڄاڻن. ٦٠-٦١

---

ڪائنات ناقابل قياس حدتائين عظيم آهي. ان جي عظمت جي اڳيان اهي لفظ سراسر ناڪافي ٿي ويندا آهن، جيڪو گمراهه انسان ان جي الله تعاليٰ کان سواءِ ڪو ٻيو سبب ڄاڻائڻ جي لاءِ ڳالهائيندو آهي چاهي اهي قديم مشرڪ انسان جا بت هجن يا جديد ملحد انسان جا. اهي نظريات جيڪي اسباب ۽ اتفاق جي اصطلاحن ۾ بيان ڪيا ويندا آهن. بيشمار سيارن کي پيدا ڪري انهن کي وسيع خلا ۾ متحرڪ ڪرڻ، زمين کي نهايت اعليٰ اهتمام جي ذريعي زندگي جي موافق بڻائڻ، پاڻي ۽ وڻن ٽڻن جهڙين نادر شين کي انتهائي وڏي مقدار ۾ وجود ۾ آڻڻ، مسلسل حرڪت ڪندڙ زمين تي ڪامل سڪون جون حالتون پيدا ڪرڻ، دريائن ۽ جبلن جي ذريعي زمين کي رهڻ جي لائق بڻائڻ. پاڻي جي سطح جي هڪ ڇڪ (Surface Tention) جي قانون ذريعي کاري پاڻي ۽ مٺي پاڻي کي هڪ ٻئي کان جدا رکڻ. اهي ۽ اهڙي قسم جا ٻيا واقعا ان کان وڌيڪ عظيم آهن جو ڪو بت انهن کي وجود ۾ آڻي يا ڪو انڌو طبعي قانون انهن کي وجود ڏئي سگهي.

حقيقت اها آهي ته هڪ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻين بنيادن تي ڪائنات جي وجود جا سبب ڄاڻائڻ ڪوڙا سبب ڄاڻائڻ آهي. اهو انڪار آهي نه وري حقيقت ۾ ڪو سبب پيش ڪرڻ.

اَمَّنۡ یُّجِیۡبُ الۡمُضۡطَرَّ اِذَا دَعَاہُ وَ یَکۡشِفُ السُّوۡٓءَ وَ یَجۡعَلُکُمۡ خُلَفَآءَ الۡاَرۡضِ ؕ ءَاِلٰہٌ مَّعَ اللّٰہِ ؕ قَلِیۡلًا مَّا تَذَکَّرُوۡنَ ﴿۶۲﴾ اَمَّنۡ یَّہۡدِیۡکُمۡ فِیۡ ظُلُمٰتِ الۡبَرِّ وَ الۡبَحۡرِ وَ مَنۡ یُّرۡسِلُ الرِّیٰحَ بُشۡرًۢا بَیۡنَ یَدَیۡ رَحۡمَتِہٖ ؕ ءَاِلٰہٌ مَّعَ اللّٰہِ ؕ تَعٰلَی اللّٰہُ عَمَّا یُشۡرِکُوۡنَ ﴿۶۳﴾ اَمَّنۡ یَّبۡدَؤُا الۡخَلۡقَ

ثُمَّ يُعِيْدُهٗ وَ مَنْ يَّرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ ؕ ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ قُلْ هَاتُوْا
بُرْهَانَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٦٤﴾

ڪير آهي جيڪو بيوس جي پڪار ٻڌي ٿو ۽ ان جي ڏک کي پري ڪري ٿو ۽ توهان کي زمين جو جانشين بڻائي ٿو. ڇا الله تعاليٰ کان سواءِ ڪو ٻيو معبود آهي. توهان تمام ٿوري نصيحت وٺو ٿا. ڪير آهي جيڪو توهان کي بر ۽ بحر جي اونداهين ۾ رستو ڏيکاري ٿو ۽ ڪير پنهنجي رحمت کان اڳ هوا کي خوشخبري بڻائي موڪلي ٿو. ڇا الله سان ڪو ٻيو معبود آهي. الله تمام مٿانهون آهي انهن کان جن کي اُهي شريڪ ڪندا آهن. ڪير آهي جيڪو مخلوق جي ابتدا ڪري ٿو ۽ وري ان کي ٻيهر بڻائيندو ۽ ڪير توهان کي آسمانن ۽ زمين مان روزي ڏي ٿو. ڇا الله سان ڪو ٻيو معبود آهي. چئو ته پنهنجو دليل آڻيو جيڪڏهن توهان سچا آهيو. ٦٢-٦٤

---

هڪ ضرورت مند جي ضرورت پوري ٿيڻ ان وقت ممڪن هوندي آهي، جڏهن ڪائنات جا سيئي اسباب ان سان موافقت ڪن. پوءِ هڪ قادر مطلق الله تعاليٰ کان سواءِ ڪير آهي جيڪو ايتري وڏي پيماني تي سيني موافق اسبابن کي جمع ڪري سگهي.

اهڙي طرح هڪ قوم جي جاءِ تي ٻئي قوم جو اچڻ، سامونڊي جهازن ۽ هوائي جهازن جو قدرت جي فطري امڪانن مان فائدو کڻي اونداهي ۽ روشني ۾ سفر ڪرڻ. سمنڊ مان ٻاڦ جو اٿڻ ۽ پوءِ مينهن بڻجي وسڻ، شين کي عدم مان وجود ۾ آڻڻ ۽ پوءِ انهن کي ٻيهر پيدا ڪرڻ، انسان لاءِ وڏي پيماني تي هر قسم جي رزق جو بندوبست ڪرڻ. اهي سڀ خدائي سطح جا ڪم آهن ۽ هڪ مٿانهون خدا ئي انهن کي انجام ڏئي سگهي ٿو.

اهوئي زمين تي ظاهر ٿيڻ وارن سيني واقعن جو حال آهي، هتي هڪ واقعي کي ظهور ۾ آڻڻ لاءِ به ايترا بيشمار اسباب گهربل هوندا آهن جو انهن کي اها ئي هستي ظهور ۾ آڻي سگهي ٿي جنهن جي قبضي ۾ سڄي ڪائنات هجي. پوءِ هي ڪيتري بي عقلي جي ڳالهه آهي ته ماڻهو هڪ الله تعاليٰ کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي پنهنجي ڀانهپ جي جذبات جو مرڪز بڻائي، هو هڪ الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي پرستش ڪري.

قُلْ لَّا يَعْلَمُ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ الْغَيْبَ اِلَّا اللّٰهُ ؕ وَ مَا يَشْعُرُوْنَ اَيَّانَ
يُبْعَثُوْنَ ﴿٦٥﴾ بَلِ ادّٰرَكَ عِلْمُهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ قف بَلْ هُمْ فِيْ شَكٍّ مِّنْهَا ٚ بَلْ هُمْ مِّنْهَا
عَمُوْنَ ﴿٦٦﴾ وَ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا ءَاِذَا كُنَّا تُرٰبًا وَّ اٰبَآؤُنَآ اَئِنَّا لَمُخْرَجُوْنَ ﴿٦٧﴾ لَقَدْ وُعِدْنَا
هٰذَا نَحْنُ وَ اٰبَآؤُنَا مِنْ قَبْلُ ۙ اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٦٨﴾ قُلْ سِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ
فَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٦٩﴾

چئو ته الله کان سواءِ آسمانن ۽ زمين ۾ ڪو غيب جو علم نه ٿو رکي ۽ اُهي نه ٿا ڄاڻن ته هو ڪڏهن اٿاريا ويندا. بلڪ آخرت جي باري ۾ سندن علم الجهي ويو آهي. بلڪ اُهي ان کان شڪ ۾ آهن. بلڪ اهي ان کان انڌا آهن ۽ انڪار ڪرڻ وارن چيو ڇا جڏهن اسان مٽي ٿي وينداسون ۽ اسان جا ابا ڏاڏا به، ته ڇا اسان زمين مان ڪڍيا

ويندا سون. ان جو واعدو اسان کي بہ ڏنو ويو ۽ اسان کان اڳ ۾ اسان جي ابن ڏاڏن کي بہ. اهي رڳو اڳين جون آکاڻيون آهن. چؤ زمين ۾ گهمو ڦرو، پوءِ ڏسو تہ مجرمن جو انجام ڇا ٿيو. ٦٥-٦٩

---

ڪنهن پيغمبر جا مخاطب آخرت جا قطعي منڪر نہ هئا. بلڪ اهي آخرت جي ان تصور جا منڪر هئا، جنهن کي پيغمبر پيش ڪندا هئا. ماڻهو اهو يقين ڪيل هئا تہ آخرت جو مسئلو سندن لاءِ نہ آهي، بلڪ ٻين جي لاءِ آهي، پيغمبر ٻڌايو تہ آخرت توهان لاءِ بہ اهڙو ئي هڪ سنگين مسئلو آهي، جيئن اهو ٻين جي لاءِ آهي. ماڻهو سمجهندا هئا تہ پنهنجن بزرگن سان وابستگي آخرت ۾ انهن لاءِ نجات جو ذريعو بڻجي ويندي، پيغمبرن ٻڌايو تہ آخرت ۾ بہ صرف الله تعاليٰ جي رحمت ماڻهو جي ڪم ايندي، نہ وري ڪنهن بزرگ سان وابستگي.

اهائي وجهہ آهي جو اهي ماڻهو آخرت جي باري ۾ هڪ قسم جي ذهني الجهن ۾ پيل هئا. انهن جا ڪجهہ متو ڦريل ماڻهو ڪڏهن اهڙا لفظ ڳالهائيندا هئا، ڄڻ تہ اهي آخرت جا منڪر هجن، پر عام ماڻهن جو حال اهو هو جو اهي آخرت جو انڪار نہ ڪندا هئا، البتہ پيغمبر جي آخرت واري تصور کي مڃڻ ۾ زندگي جون آزاديون ختم ٿينديون هيون، ان ڪري سندن نفس ان کي مڃڻ لاءِ تيار نہ هو. تنهن ڪري ان جي جواب ۾ اهي اهڙيون ڳالهيون ڪندا هئا، تہ جيئن هو شڪ ۾ هجن. پنهنجي اُن ذهني ڪيفيت جي ڪري انهن آخرت جي دليلن تي ڪڏهن سنجيدگي سان غور نہ ڪيو. ان جي باري ۾ اهي انڌا ٻوڙا بڻجي ويا.

حقيقت اها آهي تہ قومن جو فيصلو ڪرڻ لاءِ جيڪي طاقتون گهربل آهن، اهي رڳو عالم الغيب الله کي حاصل آهن. هو جزوي طور تي موجوده دنيا ۾ بہ فيصلو نافذ ڪندو آهي ۽ اهوئي آخرت ۾ بہ مڪمل طور تي سڀني قومن تي پنهنجو فيصلو نافذ ڪندو.

وَ لَا تَحۡزَنۡ عَلَيۡهِمۡ وَ لَا تَكُنۡ فِيۡ ضَيۡقٍ مِّمَّا يَمۡكُرُوۡنَ ﴿۷۰﴾ وَ يَقُوۡلُوۡنَ مَتٰى هٰذَا الۡوَعۡدُ اِنۡ
كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿۷۱﴾ قُلۡ عَسٰٓى اَنۡ يَّكُوۡنَ رَدِفَ لَكُمۡ بَعۡضُ الَّذِيۡ تَسۡتَعۡجِلُوۡنَ ﴿۷۲﴾ وَ اِنَّ
رَبَّكَ لَذُوۡ فَضۡلٍ عَلَى النَّاسِ وَ لٰكِنَّ اَكۡثَرَهُمۡ لَا يَشۡكُرُوۡنَ ﴿۷۳﴾ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَيَعۡلَمُ مَا
تُكِنُّ صُدُوۡرُهُمۡ وَ مَا يُعۡلِنُوۡنَ ﴿۷۴﴾ وَ مَا مِنۡ غَآئِبَةٍ فِي السَّمَآءِ وَ الۡاَرۡضِ اِلَّا فِيۡ كِتٰبٍ
مُّبِيۡنٍ ﴿۷۵﴾

۽ انهن تي غم نہ ڪر ۽ تنگ دل نہ ٿي. انهن تدبيرن تي جيڪي اُهي ڪري رهيا آهن ۽ اهي چوندا آهن تہ اهو واعدو ڪڏهن (پورو) ٿيندو جيڪڏهن توهان سچو آهيو. چؤ تہ جنهن شيءِ جي توهان جلدي ڪري رهيا آهيو شايد ان مان ڪجهہ توهان جي ويجهو ئي هجي ۽ بيشڪ توهان جو رب ماڻهن تي وڏو فضل ڪرڻ وارو آهي. پر انهن مان اڪثر شڪر نہ ٿا ڪن ۽ بيشڪ تنهنجو رب خوب ڄاڻي ٿو جيڪي سندن سينا لڪائيندا آهن ۽ جيڪو ظاهر ڪندا آهن ۽ آسمانن ۽ زمين جي ڪا ڳجهي شيءِ نہ آهي جيڪا هڪ واضح ڪتاب ۾ لکيل نہ هجي. ٧٠-٧٥

---

”غم نہ ڪر“ جو مطلب حق جي داعي کي غم کان روڪڻ نہ آهي. غم تہ داعي جي غذا آهي. اهو اصل ۾ حق جي بيوسي جي ترديد آهي. ان جو مطلب اهو آهي تہ سڀني ناموافق حالتن جي باوجود

آخرڪار حق کي ۽ حق جو ساٿ ڏيڻ وارن کي ڪاميابي حاصل ٿيندي.

حق جي داعي جا مخالف جڏهن ان جي مخالفت ڪندا آهن ته هو سمجهن ٿا ته اهي هڪ ماڻهو جي مخالفت ڪري رهيا آهن. اهي نه ٿا سمجهن ته اها خود الله تعاليٰ جي مخالفت آهي نه وري محض هڪ ماڻهو جي مخالفت. اها صورت حال صرف ان وقت تائين لاءِ آهي، جيستائين امتحان جي مدت ختم نه ٿي ٿئي. امتحان جي مقرر مدت ختم ٿيندي ئي الله تعاليٰ جون طاقتون ظاهر ٿي وينديون آهن ۽ اهي مخالفن جو اهڙي طرح خاتمو ڪري ڇڏينديون آهن ڄڻ ته ڪڏهن سندن ڪا حيثيت ئي نه هئي. ماڻهو لاءِ ان ڪان وڏي ڪا ناداني نه آهي جو هو آزمائش جي مهلت کي پاڻ لاءِ سرڪشي ڪرڻ جي مهلت سمجهي.

اِنَّ هٰذَا الۡقُرۡاٰنَ يَقُصُّ عَلٰى بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ اَكۡثَرَ الَّذِىۡ هُمۡ فِيۡهِ يَخۡتَلِفُوۡنَ ﴿٧٦﴾ وَ اِنَّهٗ لَهُدًى وَّ رَحۡمَةٌ لِّلۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿٧٧﴾ اِنَّ رَبَّكَ يَقۡضِىۡ بَيۡنَهُمۡ بِحُكۡمِهٖ‌ ۚ وَ هُوَ الۡعَزِيۡزُ الۡعَلِيۡمُ ۚ‌ ﴿٧٨﴾ فَتَوَكَّلۡ عَلَى اللّٰهِ‌ ؕ اِنَّكَ عَلَى الۡحَـقِّ الۡمُبِيۡنِ ﴿٧٩﴾ اِنَّكَ لَا تُسۡمِعُ الۡمَوۡتٰى وَ لَا تُسۡمِعُ الصُّمَّ الدُّعَآءَ اِذَا وَلَّوۡا مُدۡبِرِيۡنَ ﴿٨٠﴾ وَمَاۤ اَنۡتَ بِهٰدِى الۡعُمۡىِ عَنۡ ضَلٰلَتِهِمۡ‌ ؕ اِنۡ تُسۡمِعُ اِلَّا مَنۡ يُّؤۡمِنُ بِاٰيٰتِنَا فَهُمۡ مُّسۡلِمُوۡنَ ﴿٨١﴾

بيشڪ هي قرآن بني اسرائيل تي گهڻين شين کي واضح ڪري رهيو آهي جن ۾ اُهي اختلاف ڪندا آهن ۽ اهو هدايت ۽ رحمت آهي ايمان وارن جي لاءِ. بيشڪ تنهنجو رب پنهنجي حڪم جي ذريعي انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪندو ۽ اهو زبردست آهي ڄاڻڻ وارو آهي. پوءِ الله تي ڀروسو ڪر. بيشڪ تون واضح حق تي آهين. تون مُردن کي نه ٿو ٻڌائي سگهين ۽ نه تون ٻوڙن کي پنهنجو سڏ ٻڌائي سگهين ٿو. جڏهن ته اُهي پٺي ڏئي هليا وڃن ۽ نه تون انڌن کي سندن گمراهي کان بچائي رستو ڏيکارڻ وارو آهين. تون ته صرف انهن کي ٻڌائي سگهين ٿو جيڪي اسان جي آيتن تي ايمان آڻين ٿا، پوءِ فرمانبردار ٿيندا آهن. ٧٦-٨١

---

انسان هڪ اهڙي مخلوق آهي جيڪا اک، ڪن ۽ دماغ جون صلاحيتون رکي ٿي، انهن صلاحيتن کي جيڪڏهن صحيح طريقي سان استعمال ڪيو وڃي ته هو ڪنهن غلطي کان سواءِ حقيقتن کي ڏسڻ ۽ سڃاڻڻ جو ذريعو بڻجي سگهن ٿيون، پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو خود کي ڪنهن مصنوعي تصور کان مغلوب ڪري وٺي ته ان جي سمجهڻ جون صلاحيتون بند ٿي وينديون آهن. ان جي سامهون حقيقت بي نقاب صورت ۾ ايندي آهي، پر هو ان کان اهڙي طرح بي خبر رهي ٿو ڄڻ ته هو انڌو ۽ ٻوڙو آهي. حقيقت اها آهي ته هن دنيا ۾ ان ئي ماڻهو کي رستو ڏيکاري سگهجي ٿو، جيڪو رستو ڏسڻ چاهي، جنهن جي اندر خود رستي جي تڙپ نه هجي، ان لاءِ ڪنهن رهنما جي رهنمائي ڪم اچڻ واري نه آهي.

حق پرست ٿيڻ جي لاءِ سيني کان وڌيڪ جيڪا شيءِ گهربل آهي اهو اعتراف آهي، هن دنيا ۾ ان ئي ماڻهو کي هدايت ملندي آهي جنهن جي اندر اهو مادو هجي جو ڳالهه دليلن سان واضح ٿي وڃي ته هو فوراً ان کي مڃي وٺي ۽ پنهنجي زندگيءَ کي ان مطابق بدلائي وٺي.

جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ جي دعوت جي اڳيان نه جهڪن، انهن کي آخرڪار الله تعاليٰ جي فيصلي اڳيان جهڪڻو پوي ٿو، پر ان وقت جو جهڪڻ ڪنهن جي ڪم اچڻ وارو نه آهي.

وَإِذَا وَقَعَ الْقَوْلُ عَلَيْهِمْ أَخْرَجْنَا لَهُمْ دَابَّةً مِّنَ الْأَرْضِ تُكَلِّمُهُمْ أَنَّ النَّاسَ كَانُوا
ع ٦ بِآيَاتِنَا لَا يُوقِنُونَ ﴿٨٢﴾ وَيَوْمَ نَحْشُرُ مِن كُلِّ أُمَّةٍ فَوْجًا مِّمَّن يُكَذِّبُ بِآيَاتِنَا فَهُمْ
يُوزَعُونَ ﴿٨٣﴾ حَتَّىٰ إِذَا جَاءُوا قَالَ أَكَذَّبْتُم بِآيَاتِي وَلَمْ تُحِيطُوا بِهَا عِلْمًا أَمَّاذَا كُنتُمْ
تَعْمَلُونَ ﴿٨٤﴾ وَوَقَعَ الْقَوْلُ عَلَيْهِم بِمَا ظَلَمُوا فَهُمْ لَا يَنطِقُونَ ﴿٨٥﴾ أَلَمْ يَرَوْا أَنَّا جَعَلْنَا
اللَّيْلَ لِيَسْكُنُوا فِيهِ وَالنَّهَارَ مُبْصِرًا ۚ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَاتٍ لِّقَوْمٍ يُؤْمِنُونَ ﴿٨٦﴾

۽ جڏهن مٿن ڳالھ (عذاب) پوري ٿيڻ واري هوندي تہ اسان انهن لاءِ زمين مان هڪ جانور ڪينداسون جيڪو انهن سان ڳالهائيندو. انهيءَ ڪري جو ماڻهو اسان جي آيتن تي يقين نہ رکندا هئا ۽ جنهن ڏينهن اسان هر امت مان هڪ ٽولو انهن ماڻهن جو گڏ ڪنداسون جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڄاتو، پوءِ سندن صف بندي ڪئي ويندي ايستائين جڏهن اهي اچي ويندا تہ الله تعاليٰ چوندو تہ توهان منهنجن آيتن کي ڪوڙو ڄاتو، حالانڪ توهان انهن کي سمجهو ئي نہ هو، پوءِ ٻڌايو تہ توهان ڪهڙو ڪم ڪيو ٿي، ۽ انهن تي ڳالھ پوري ٿي ويندي ان سبب جي ڪري تہ انهن ظلم ڪيو، پوءِ هو ڪجھ نہ ڳالهائي سگهندا. ڇا انهن نہ ڏٺو تہ اسان رات بڻائي، تہ جيئن ماڻهو ان ۾ آرام ڪن ۽ ڏينهن تہ ان ۾ ڏسن. بيشڪ ان ۾ نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي يقين ڪندا آهن. ٨٢-٨٦

---

جڏهن الله تعاليٰ جو اهو فيصلو ٿيندو تہ زمين جي موجوده تاريخ کي ختم ڪيو وڃي تہ آخري طور تي ڪجھ غيرمعمولي نشانيون ظاهر ٿينديون. انهن مان هڪ دابہ (جانور) جو ظهور ٿيندو. انساني داعين جي زبان سان جيڪا ڳالھ ماڻهن نہ مڃي، ان جو اعلان هڪ غير انساني مخلوق جي ذريعي ڪرايو ويندو. جيئن تہ اهو امتحان جو وقت ختم ٿيڻ جو وقت هوندو نہ وري امتحان جو وقت شروع ٿيڻ جو اعلان.

قيامت ۾ جڏهن سڀئي ماڻهو حاضر ٿيندا تہ انهن جون جماعتون ٺاهيون وينديون. مڃڻ وارا هڪ پاسي ڪيا ويندا ۽ نہ مڃڻ وارا ٻئي پاسي. ان کان پوءِ منڪرن کان پڇيو ويندو تہ توهان وٽ ڪهڙو علمي دليل هو جنهن جي ڪري توهان صداقت جو انڪار ڪيو. ان وقت انهن جو لاجواب هئڻ ثابت ڪندو تہ سندن انڪار رڳو ضد ۽ تعصب جي ڪري هو. جيتوڻيڪ پاڻ کي برحق ظاهر ڪرڻ لاءِ اهي ڪوڙا دليل پيش ڪندا هئا. ان وقت انهن تي واضح ٿيندو تہ داعي جي ڪلام کان علاوه رات ۽ ڏينهن بہ خاموش زبان ۾ انهن کي امر حق کان باخبر ڪري رهيا هئا. رات جي ننڊ ڇڻ تہ موت جي مثال هئي ۽ صبح جو جاڳڻ ٻيهر زنده ٿيڻ جو مثال. حق جي اعلان جو ايتري غير معمولي اهتمام جي باوجود اهي حق جي دريافت کان محروم رهيا.

وَيَوْمَ يُنفَخُ فِي الصُّورِ فَفَزِعَ مَن فِي السَّمَاوَاتِ وَمَن فِي الْأَرْضِ إِلَّا مَن شَاءَ اللَّهُ ۚ وَكُلٌّ
أَتَوْهُ دَاخِرِينَ ﴿٨٧﴾ وَتَرَى الْجِبَالَ تَحْسَبُهَا جَامِدَةً وَهِيَ تَمُرُّ مَرَّ السَّحَابِ ۚ صُنْعَ اللَّهِ
الَّذِي أَتْقَنَ كُلَّ شَيْءٍ ۚ إِنَّهُ خَبِيرٌ بِمَا تَفْعَلُونَ ﴿٨٨﴾ مَن جَاءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهُ خَيْرٌ مِّنْهَا
وَهُم مِّن فَزَعٍ يَوْمَئِذٍ آمِنُونَ ﴿٨٩﴾ وَمَن جَاءَ بِالسَّيِّئَةِ فَكُبَّتْ وُجُوهُهُمْ فِي النَّارِ هَلْ
تُجْزَوْنَ إِلَّا مَا كُنتُمْ تَعْمَلُونَ ﴿٩٠﴾

۽ جنهن ڏينهن صور ڦوڪيو ويندو تہ گهٻرائجي ويندا جيڪي آسمانن ۾ آهن ۽ جيڪي زمين ۾ آهن، پر اهو جن لاءِ الله چاهي ۽ سيئي هليا ايندا ان جي اڳيان عاجزي سان ۽ تون جبلن کي ڏسي گمان ڪندو آهين تہ هو ڄميل آهن ۽ اُهي هلندا جيئن ڪڪر هلن، هي الله جي ڪاريگري آهي، جنهن هر شيءِ کي محڪم ڪيو آهي، بيشڪ هو ڄاڻي ٿو جيڪو توهان ڪريو ٿا. جيڪو ماڻهو ڀلائي ڪٽي ايندو تہ ان لاءِ ان کان بهتر آهي ۽ اُهو ان ڏينهن گهٻراهٽ کان محفوظ هوندو ۽ جيڪو ماڻهو برائي ڪٽي آيو تہ اهڙا ماڻهو اونڌي منهن باهہ ۾ وڌا ويندا. توهان اهوئي بدلو پائي رهيا آهيو جيڪو توهان ڪندا هئا. ٨٧-٩٠

---

موجوده دنيا ۾ انڪار جو اصل سبب انسان جي بيخوفي آهي. اها اصل ۾ بيخوفي جي نفسيات آهي جنهن جي ڪري ماڻهو حق کي نظرانداز ڪندو آهي ۽ ان جي مقابلي ۾ سرڪشي جو رويو اختيار ڪندو آهي، پر جڏهن امتحان جي مدت ختم ٿيندي ۽ ان جي علامت طور صور ڦوڪيو ويندو تہ اچانڪ ماڻهو محسوس ڪندا تہ سندن بي خوفي رڳو بي خبري جي ڪري هئي، ان ڏينهن سيئي وڏايون واري جي پيٽ وانگر ڪري پونديون. اهو اهڙو سخت لمحو هوندو جو انسان تہ پري پر جبل بہ ذرا ذرا ٿي ويندا، ان وقت سڀ جو عجز هڪ پاسي ٿي ويندو ۽ سچي قدرت ٻئي پاسي.

ان ڏينهن اهي سيئي شيون بلڪل غيراهم ٿي وينديون جن کي ماڻهو دنيا ۾ اهم سمجهندا هئا. ان ڏينهن سچو وزن رڳو صالح عمل جو هوندو. ان ڏينهن دنيا وڃائڻ وارا لهندا ۽ دنيا پائڻ وارا ابدي طور تي محروم ٿي رهجي ويندا.

اِنَّمَآ اُمِرْتُ اَنْ اَعْبُدَ رَبَّ هٰذِهِ الْبَلْدَةِ الَّذِيْ حَرَّمَهَا وَ لَهٗ كُلُّ شَيْءٍ ؗ وَّ اُمِرْتُ اَنْ
اَكُوْنَ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ۝ؕ۹۱ وَ اَنْ اَتْلُوَا الْقُرْاٰنَ ۚ فَمَنِ اهْتَدٰى فَاِنَّمَا يَهْتَدِيْ لِنَفْسِهٖ ۚ وَ
مَنْ ضَلَّ فَقُلْ اِنَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُنْذِرِيْنَ ۝۹۲ وَ قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ سَيُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ فَتَعْرِفُوْنَهَا ؕ
وَ مَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ۝۹۳ ع

مون کي اهوئي حڪم ڏنو ويو آهي تہ آئون هن شهر جي رب جي عبادت ڪريان جنهن ان کي تعظيم وارو ڪيو ۽ هر شيءِ ان ئي جي آهي ۽ مون کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ آئون فرمانبرداري ڪرڻ وارن مان ٿيان ۽ اهو تہ قرآن کي ٻڌايان، پوءِ جيڪو ماڻهو راهہ تي ايندو تہ هو پنهنجي لاءِ راهہ تي ايندو ۽ جيڪو گمراهہ ٿيو تہ چئي ڇڏ تہ آئون صرف ڊيڄارڻ وارن مان آهيان ۽ چئو تہ سڀ ساراهہ الله لاءِ آهي. هو توهان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاريندو. پوءِ توهان انهن کي سڃاڻي وٺندؤ ۽ توهان جو رب ان کان بيخبر نہ آهي جيڪو توهان ڪندا آهيو. ٩١-٩٣

---

ان شهر (مڪي) جو حوالو قرآن جي مخاطب اول قريش جي رعايت سان آهي جيئن تہ اهو هڪ ڪلام جي طرز جي ڳالهہ آهي. آيت جو اصل مقصد انسان کي ان ابدي حقيقت ڏانهن متوجهہ ڪرڻ آهي تہ ان لاءِ صرف هڪ ئي صحيح رويو آهي ۽ اهو هي تہ هو هڪ خدا جو عبادت گذار بڻجي.

داعي جو ڪم "ٻڌائڻ" آهي يعني امر حق جو اعلان ماڻهو کي داعي جي لفظي پڪار ۾ حقيقت جو ادراڪ ڪرڻو آهي. بي زور دعوت ۾ خدائي طاقت جو جلوو ڏسڻو آهي. جيڪي ماڻهو ان صلاحيت جو ثبوت ڏين اُهي ئي اهي ماڻهو آهن جيڪي خدا جي ابدي انعامن جا مستحق قرار ڏنا ويندا.

”خدا پنهنجون نشانيون ڏيکاريندو.“ هن اڳڪٽي جو هڪ پهلو قرآن جا مخاطب اول (قريش مکي) سان تعلق رکي ٿو. جن کي اول دور ۾ جنگ بدر ۽ فتح مکي جي صورت ۾ خدا جون نشانيون ڏيکاريون ويون. ان جو ٻيو پهلو اهو آهي جنهن جو تعلق قرآن جي ابديت سان آهي. ان لحاظ کان موجوده زماني ۾ ظاهر ٿيڻ واريون سائنسي نشانيون به ان غيرمعمولي اڳڪٽي جي وسيع تر تصديق ۾ شامل آهن.

## (٢٨) سُوْرَةُ الْقَصَصِ مَكِّيَّةٌ (٤٩)

اٰيَاتُهَا ٨٨ — رُكُوْعَاتُهَا ٩

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

طٰسٓمٓ ۝١ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ۝٢ نَتْلُوْا عَلَيْكَ مِنْ نَّبَاِ مُوْسٰى وَ فِرْعَوْنَ بِالْحَقِّ لِقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ۝٣ اِنَّ فِرْعَوْنَ عَلَا فِي الْاَرْضِ وَ جَعَلَ اَهْلَهَا شِيَعًا يَّسْتَضْعِفُ طَآىِٕفَةً مِّنْهُمْ يُذَبِّحُ اَبْنَآءَهُمْ وَ يَسْتَحْيٖ نِسَآءَهُمْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ مِنَ الْمُفْسِدِيْنَ ۝٤ وَ نُرِيْدُ اَنْ نَّمُنَّ عَلَى الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا فِي الْاَرْضِ وَ نَجْعَلَهُمْ اَىِٕمَّةً وَّ نَجْعَلَهُمُ الْوٰرِثِيْنَ ۝٥ وَ نُمَكِّنَ لَهُمْ فِي الْاَرْضِ وَ نُرِيَ فِرْعَوْنَ وَ هَامٰنَ وَ جُنُوْدَهُمَا مِنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَحْذَرُوْنَ ۝٦

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

طا سين ميم. هي واضح ڪتاب جون آيتون آهن اسان موسيٰ ۽ فرعون جو ڪجهه حال توکي ٺيڪ ٺيڪ ٻڌايون ٿا انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ايمان آڻين. بيشڪ فرعون زمين ۾ سرڪشي ڪئي ۽ هُن ان جي رهاڪن کي ٽولن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو. انهن مان هڪ ٽولي کي ان ڪمزور ڪري رکيو هو. هو سندن ڇوڪرن کي ذبح ڪندو هو ۽ سندن عورتن کي زندهه رکندو هو. بيشڪ هو فساد ڪرڻ وارن مان هو ۽ اسان چاهيو ٿي ته انهن ماڻهن تي احسان ڪريون جيڪي زمين ۾ ڪمزور ڪيا ويا هئا ۽ ڪين سردار بڻايون ۽ ڪين وارث بڻايون ۽ ڪين زمين ۾ اقتدار عطا ڪريون ۽ فرعون ۽ هامان ۽ سندن فوجن کي اهو ڏيکاريون جنهن کان اهي ڊڄندا هئا. ١-٦

---

فرعون کي هتي زمين تي فساد جو مجرم ٻڌايو ويو آهي. فرعون جو فساد اهو هو ته ان مصر جي ٻن قومن ۾ فرق ڪيو هو. قبطي قوم جيڪا ان جي پنهنجي قوم هئي، ان کي هن هر قسم جا موقعا ڏنا هئا ۽ بني اسرائيل کي نه رڳو موقعن کان محروم ڪيو، بلڪ سندن ڇوڪرن کي قتل ڪرڻ شروع ڪيو، ته جيئن آهستي آهستي سندن نسل جو خاتمو ٿي وڃي، فرعون جو اهو عمل فطرت جي نظام ۾ مداخلت هئي. الله تعاليٰ جي قانون ۾ فطرت جي نظام سان موافقت جو نالو اصلاح آهي ۽ فطرت جي نظام ۾ مداخلت جو نالو فساد آهي.

عزت ۽ بيعزتي جو فيصلو الله تعاليٰ طرفان هوندو آهي. الله ان جي ابتڙ فيصلو ڪيو جيڪو فرعون فيصلو ڪيو هو. خدا فيصلو ڪيو ته هو بني اسرائيل کي عزت ۽ اقتدار ڏي ۽ فرعون کي ان جي

فوجن سان گڏ هلاڪ ڪري ڇڏي، حضرت موسيٰ عليه السلام جي ذريعي حجت پوري ٿيڻ ڪان پوءِ فرعون خود پاڻ ڪي عذاب جو مستحق ثابت ڪري ڇڏيو. تنهن ڪري الله ان ڪي سمنڊ ۾ غرق ڪري هميشه لاءِ ان جو خاتمو ڪري ڇڏيو ۽ بني اسرائيل ڪي مصر مان وٺي وڃي شام ۽ فلسطين جو حڪمران بڻائي ڇڏيو.

وَ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلٰۤى اُمِّ مُوۡسٰۤى اَنۡ اَرۡضِعِيۡهِ‌ۚ فَاِذَا خِفۡتِ عَلَيۡهِ فَاَلۡقِيۡهِ فِى الۡيَمِّ وَ لَا تَخَافِىۡ وَ لَا
تَحۡزَنِىۡ‌ۚ اِنَّا رَآدُّوۡهُ اِلَيۡكِ وَ جَاعِلُوۡهُ مِنَ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ۞٧ فَالۡتَقَطَهٗۤ اٰلُ فِرۡعَوۡنَ لِيَكُوۡنَ
لَهُمۡ عَدُوًّا وَّ حَزَنًا‌ ؕ اِنَّ فِرۡعَوۡنَ وَ هَامٰنَ وَ جُنُوۡدَهُمَا كَانُوۡا خٰطِـئِيۡنَ ۞٨ وَ قَالَتِ امۡرَاَتُ
فِرۡعَوۡنَ قُرَّتُ عَيۡنٍ لِّىۡ وَ لَكَ‌ ؕ لَا تَقۡتُلُوۡهُ‌ ‌ۖ عَسٰۤى اَنۡ يَّنۡفَعَنَاۤ اَوۡ نَتَّخِذَهٗ وَلَدًا وَّ هُمۡ لَا
يَشۡعُرُوۡنَ ۞٩

۽ اسان موسيٰ جي ماءُ ڪي الهام ڪيو تہ ان ڪي کير پيار پوءِ جڏهن توڪي ان بابت ڊپ ٿئي تہ ان ڪي دريا ۾ وجهي ڇڏ ۽ انديشو نہ ڪر ۽ نہ غمگين ٿي. اسان ان ڪي تو وٽ موٽائي آڻينداسون ۽ ان ڪي پيغمبرن مان بڻائينداسون. پوءِ ان ڪي فرعون جي گهروارن کڻي ورتو، تہ جيئن هو سندن لاءِ دشمن ٿئي ۽ غم جو سبب بڻجي. بيشڪ فرعون ۽ هامان ۽ ان جا لشڪر خطاڪار هئا ۽ فرعون جي زال چيو هي منهنجي لاءِ ۽ تنهنجي لاءِ اکين جو ٺار آهي، ان ڪي قتل نہ ڪر، من هي اسان ڪي نفعو ڏي يا اسان ان ڪي پٽ ڪريون ۽ اُهي نہ ڄاڻندا هئا. ٧-٩

---

حضرت موسيٰ عليه السلام جي پيدائش جي زماني ۾ بني اسرائيل جا ڇوڪرا قتل ڪيا پئي ويا. ان ڪري حضرت موسيٰ عليه السلام جي والده پريشان ٿي. ان وقت غالباً خواب ذريعي پاڻ عليه السلام جي والده ڪي اها تدبير ٻڌائي وئي تہ هو پاڻ عليه السلام ڪي هڪ ننڍي ٻيڙي ۾ رکي درياءَ نيل ۾ وجهي ڇڏي. ان ٽن مهينن ڪان پوءِ ائين ئي ڪيو. اها ننڍي ٻيڙي وهندي وهندي فرعون جي محل جي سامهون پهتي، فرعون جي زال (آسيہ) هڪ نيڪ خاتون هئي. ان ڪي حضرت موسيٰ عليه السلام جي معصوم ۽ پرڪشش ڇهري ڪي ڏسي رحم اچي ويو. تنهن ڪري ان جي مشوري تي حضرت موسيٰ عليه السلام فرعون جي محل ۾ آندو ويو.

روايتن ۾ اچي ٿو تہ فرعون جي زال چيو تہ هيءَ ٻار اک جو ٺار آهي، فرعون جواب ڏنو تنهنجي لاءِ آهي نہ وري منهنجي لاءِ (لڪ لالي). اها ڳالهہ غالباً فرعون مرد ۽ عورت جي فرق سبب چئي هوندي، پر پوءِ اها عين حقيقت بڻجي وئي.

وَ اَصۡبَحَ فُؤَادُ اُمِّ مُوۡسٰى فٰرِغًا‌ ؕ اِنۡ كَادَتۡ لَـتُبۡدِىۡ بِهٖ لَوۡ لَاۤ اَنۡ رَّبَطۡنَا عَلٰى قَلۡبِهَا لِتَكُوۡنَ
مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ۞١٠ وَ قَالَتۡ لِاُخۡتِهٖ قُصِّيۡهِ‌ فَبَصُرَتۡ بِهٖ عَنۡ جُنُبٍ وَّ هُمۡ لَا يَشۡعُرُوۡنَ ۞١١
وَ حَرَّمۡنَا عَلَيۡهِ الۡمَرَاضِعَ مِنۡ قَبۡلُ فَقَالَتۡ هَلۡ اَدُلُّكُمۡ عَلٰٓى اَهۡلِ بَيۡتٍ يَّكۡفُلُوۡنَهٗ لَـكُمۡ وَ
هُمۡ لَهٗ نٰصِحُوۡنَ ۞١٢ فَرَدَدۡنٰهُ اِلٰٓى اُمِّهٖ كَىۡ تَقَرَّ عَيۡنُهَا وَ لَا تَحۡزَنَ وَ لِتَعۡلَمَ اَنَّ وَعۡدَ اللّٰهِ
حَقٌّ وَّلٰـكِنَّ اَكۡثَرَهُمۡ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ۞١٣ ع وَ لَمَّا بَلَغَ اَشُدَّهٗ وَاسۡتَوٰۤى اٰتَيۡنٰهُ حُكۡمًا وَّ عِلۡمًا‌ ؕ وَ

كَذٰلِكَ نَجۡزِی الۡمُحۡسِنِیۡنَ ﴿۱۴﴾

۽ موسيٰ جي ماءُ جو دل بي چين ٿي ويو. قريب هو جو هو ان کي ظاهر ڪري ڇڏيا ها، جيڪڏهن اسان ان جي دل کي نہ سنڀاليون ها، تہ جيئن هو يقين ڪرڻ وارن مان رهي ۽ ان هن جي ڀيڻ کي چيو تہ تون ان جي پويان وڃ، پوءِ هو ان کي اجنبي بڻجي ڏسندي رهي ۽ انهن ماڻهن کي خبر نہ پئي ۽ اسان اڳ ۾ ئي موسيٰ تي دائين کي روڪي ڇڏيو هو، پوءِ ڇوڪري چيو، ڇا آئون توهان کي اهڙن گهروارن جو ڏس ڏيان جيڪي ان کي توهان لاءِ سنڀالين ۽ اهي ان جي خيرخواهي ڪن، پوءِ اسان ان کي ان جي ماءُ ڏانهن موٽائي ڇڏيو، تہ جيئن ان جون اکيون ٺرن ۽ هو غمگين نہ ٿئي ۽ تہ جيئن هو ڄاڻي وٺي تہ الله جو واعدو سچو آهي، پر اڪثر ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن ۽ جڏهن موسيٰ پنهنجي جواني کي پهتو ۽ پختو ٿيو تہ اسان ان کي حڪمت ۽ علم عطا ڪيو ۽ اسان اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون نيڪي ڪرڻ وارن کي. ١٠-١٤

---

حضرت موسيٰ عليہ السلام جي حفاظت کي الله تعاليٰ سڌي جو سڌو پاڻ ڏانهن منسوب ڪيو آهي، حالانڪ واقعي جي تفصيل ٻڌائي ٿي واقعو سببن جي تحت پيش آيو. ان مان معلوم ٿيو تہ موجوده امتحان جي دنيا ۾ الله تعاليٰ جي مرضي جو ظهور عام طور تي سبب جي انداز ۾ ٿيندو آهي نہ وري طلسمات ۽ معجزن جي انداز ۾.

حضرت موسيٰ عليہ السلام بيوسي جي حالت ۾ درياءَ جي ڇولين ۾ وڌا ويا. پر هو پوري طرح محفوظ رهي ساحل تي پهچي ويا. وقت جي بادشاهہ انهن جي قتل جو منصوبو ٺاهيو، پر الله ان ئي بادشاهہ جي ذريعي پاڻ عليہ السلام جي پرورش جو انتظام ڪيو. هو هڪ معمولي خاندان ۾ پيدا ٿيا، پر الله تعاليٰ انهن کي شاهي محل سان وابستہ ڪري اعليٰ ترين سطح تي انهن لاءِ وقت جي علم ۽ ادب سکڻ جو انتظام ڪيو. اهو هڪ مثال آهي جيڪو ٻڌائي ٿو تہ الله تعاليٰ جي قدرت لامحدود آهي. ڪير آهي جيڪو ان جي منصوبي کي ظهور ۾ اچڻ کان روڪي سگهي.

وَ دَخَلَ الۡمَدِیۡنَۃَ عَلٰی حِیۡنِ غَفۡلَۃٍ مِّنۡ اَهۡلِهَا فَوَجَدَ فِیۡهَا رَجُلَیۡنِ یَقۡتَتِلٰنِ ٭۫ هٰذَا مِنۡ شِیۡعَتِهٖ وَ هٰذَا مِنۡ عَدُوِّهٖ ۚ فَاسۡتَغَاثَهُ الَّذِیۡ مِنۡ شِیۡعَتِهٖ عَلَی الَّذِیۡ مِنۡ عَدُوِّهٖ ۙ فَوَکَزَهٗ مُوۡسٰی فَقَضٰی عَلَیۡهِ ٭۫ قَالَ هٰذَا مِنۡ عَمَلِ الشَّیۡطٰنِ ؕ اِنَّهٗ عَدُوٌّ مُّضِلٌّ مُّبِیۡنٌ ﴿۱۵﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّیۡ ظَلَمۡتُ نَفۡسِیۡ فَاغۡفِرۡ لِیۡ فَغَفَرَ لَهٗ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الۡغَفُوۡرُ الرَّحِیۡمُ ﴿۱۶﴾ قَالَ رَبِّ بِمَاۤ اَنۡعَمۡتَ عَلَیَّ فَلَنۡ اَکُوۡنَ ظَهِیۡرًا لِّلۡمُجۡرِمِیۡنَ ﴿۱۷﴾

۽ شهر ۾ هو اهڙي وقت داخل ٿيو جڏهن تہ شهر وارا غفلت ۾ هئا، تہ ان اتي ٻن ماڻهن کي وڙهندي ڏٺو. هڪ ان جي پنهنجي قوم جو هو ۽ ٻيو دشمنن مان هو، تہ جيڪو ان جي قوم مان هو ان هن جي خلاف مدد طلب ڪئي جيڪو ان جي دشمنن مان هو، پوءِ موسيٰ ان کي مُڪ هنئي پوءِ ان کي پورو ڪيائين، موسيٰ چيو تہ هي شيطان جي ڪمن مان آهي، بيشڪ هو دشمن آهي، پڌرو گمراه ڪرڻ وارو. ان چيو تہ اي منهنجا رب! مون پنهنجي جان تي ظلم ڪيو آهي، پوءِ تون مون کي بخشش ڪر، تہ پوءِ ڪيس بخشيائين. بيشڪ هو بخشڻ وارو، رحم ڪرڻ وارو آهي. ان چيو تہ اي منهنجا رب! جيئن تو مون تي فضل ڪيو تہ آئون ڪڏهن مجرمن جو مددگار نہ ٿيندس. ١٥-١٧

---

پيغمبري ملڻ کان پهرين جو واقعو آهي. حضرت موسيٰ عليه السلام مصر جي گادي واري شهر ۾ هو. هڪ ڏينهن ان ڏٺو ته هڪ قبطي ۽ هڪ اسرائيلي وڙهي رهيا آهن. اسرائيلي حضرت موسيٰ عليه السلام کي پنهنجي قوم جو سمجهي سڏيو ته ظالم قبطي سان مقابلي ۾ منهنجي مدد ڪريو. حضرت موسيٰ عليه السلام ٻنهي کي جدا ڪرڻ چاهيو ته قبطي پاڻ عليه السلام سان الجهي پيو. پاڻ عليه السلام پنهنجي دفاع طور ان کي هڪ مُڪ هنئي جنهن سان هو اتفاقاً مري ويو.

قبطي قوم ان وقت بني اسرائيل تي سخت زيادتيون ڪري رهي هئي. اهڙي حالت ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام جيڪڏهن ان واقعي کي قومي نقط نظر سان ڏسن ها ته هو ان کي مجاهداڻو ڪارنامو قرار ڏئي فخر ڪن ها. پر انهن کي قبطي جي موت تي سخت افسوس ٿيو. هو فوراً الله ڏانهن متوجهه ٿيا ۽ الله کان معافي گهرڻ لڳا.

”هاڻي آئون ڪنهن مجرم جي حمايت نه ڪندس.“ ان جو مطلب اهو آهي ته هاڻي آئون بنا تحقيق ڪنهن جي به حمايت نه ڪندس. هڪ ماڻهو جو بظاهر مظلوم فرقي سان تعلق هجڻ يا ڪنهن کي ظالم ٻڌائي ان جي خلاف مدد گهرڻ اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي نه آهي ته حقيقت ۾ به پيو ماڻهو ظالم آهي ۽ فرياد ڪرڻ وارو مظلوم. ان ڪري صحيح طريقو اهو آهي ته اهڙن موقعن تي اصل معاملي جي تحقيق ڪئي وڃي ۽ صرف ان وقت ڪنهن جي حمايت ڪئي وڃي، جڏهن غيرجانبداراڻي تحقيق ۾ ان جو مظلوم هجڻ ثابت ٿي وڃي.

فَاَصْبَحَ فِي الْمَدِيْنَةِ خَآئِفًا يَّتَرَقَّبُ فَاِذَا الَّذِي اسْتَنْصَرَهٗ بِالْاَمْسِ يَسْتَصْرِخُهٗ ؕ قَالَ
لَهٗ مُوْسٰٓى اِنَّكَ لَغَوِيٌّ مُّبِيْنٌ ۝١٨ فَلَمَّآ اَنْ اَرَادَ اَنْ يَّبْطِشَ بِالَّذِيْ هُوَ عَدُوٌّ لَّهُمَا ۙ قَالَ
يٰمُوْسٰٓى اَتُرِيْدُ اَنْ تَقْتُلَنِيْ كَمَا قَتَلْتَ نَفْسًا بِالْاَمْسِ ۖۗ اِنْ تُرِيْدُ اِلَّآ اَنْ تَكُوْنَ جَبَّارًا
فِي الْاَرْضِ وَمَا تُرِيْدُ اَنْ تَكُوْنَ مِنَ الْمُصْلِحِيْنَ ۝١٩ وَجَآءَ رَجُلٌ مِّنْ اَقْصَا الْمَدِيْنَةِ
يَسْعٰى ۫ قَالَ يٰمُوْسٰٓى اِنَّ الْمَلَاَ يَاْتَمِرُوْنَ بِكَ لِيَقْتُلُوْكَ فَاخْرُجْ اِنِّيْ لَكَ مِنَ
ع ٢ ٨ ٥ النّٰصِحِيْنَ ۝٢٠ فَخَرَجَ مِنْهَا خَآئِفًا يَّتَرَقَّبُ ۫ قَالَ رَبِّ نَجِّنِيْ مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ۝٢١ ع

پوءِ صبح ڪيائين شهر ۾ ڊڄندي انتظار ڪندي، ته ڏٺائين ته ساڳيو شخص جنهن ڪالهه مدد گهري هئي. اهو اڄ وري ان کي مدد لاءِ سڏي رهيو هو. موسيٰ چيو بيشڪ تون پڌرو گمراهه آهين. پوءِ جڏهن ان چاهيو ته ان کي جهلي جيڪو انهن ٻنهي جو دشمن هو ته ان چيو ته اي موسيٰ ڇا تون مون کي قتل ڪرڻ چاهين ٿو جهڙي طرح تو ڪالهه هڪ ماڻهو کي قتل ڪيو. تون ته زمين ۾ سرڪش بڻجي رهڻ چاهين ٿو. تون صلح ڪرڻ وارن مان ٿيڻ نه ٿو چاهين ۽ هڪ ماڻهو شهر جي پرين پاسي کان ڊوڙندو آيو. ان چيو اي موسيٰ! دربار وارا مشورو ڪري رهيا آهن ته توکي مارين، پوءِ تون نڪري وڃ. آئون تنهنجي خيرخواهن مان آهيان. پوءِ هو اتان ڊڄندي خبر وٺندي نڪتو. ان چيو ته اي منهنجا رب! مون کي ظالم ماڻهن کان نجات ڏي. ١٨-٢١

---

ٻئي ڏينهن اهوئي اسرائيلي ٻيهر هڪ قبطي سان وڙهي رهيو هو. اهو ان ڳالهه جو واضح ثبوت

هو تہ اهو هڪ فسادي قسم جو ماڻهو آهي ۽ روزانو ڪنهن نہ ڪنهن سان وڙهندو رهي ٿو. تنهن ڪري پنهنجي قوم جو فرد هئڻ جي باوجود حضرت موسيٰ عليه السلام ان کي مجرم چيو. ان اسرائيلي جو مجرم هجڻ ان واقعي مان وڌيڪ ثابت ٿي ويو تہ جڏهن ان اسرائيلي ڏٺو تہ حضرت موسيٰ عليه السلام اڄ ان جي مدد نہ ڪري رهيو آهي ۽ ان جي اميد جي خلاف خود هن ئي کي برو چئي رهيو آهي تہ هو ڪميڻائپ تي لهي آيو ۽ ان گذريل ڏينهن واري قتل جو راز کولي ڇڏيو. جيڪو اجا تائين ڪنهن جي علم ۾ نہ آيو هو.

اسرائيلي جي زبان مان قاتل جو نالو نڪتو تہ گهڻن ماڻهن ٻڌي ورتو. ڪجهہ ڏينهن ۾ ان جي خبر هر پاسي ڦهلجي وئي، ايستائين جو حڪمرانن ۾ موسيٰ عليه السلام جي قتل جا مشورا ٿيڻ لڳا. هڪ نيڪ ماڻهو کي ان جي خبر پئجي وئي. هو خفيہ طور تي حضرت موسيٰ عليه السلام سان مليو ۽ چيائين تہ هن وقت اهوئي بهتر آهي تہ توهان هن جاءِ کي ڇڏي ڏيو. تنهن ڪري پاڻ عليه السلام مصر مان نڪري مدين ڏانهن روانا ٿي ويا مدين خليج عقبہ جي اولهندي ڪناري تي هو ۽ فرعون جي سلطنت جي حدن کان ٻاهر هو.

وَ لَمَّا تَوَجَّهَ تِلْقَآءَ مَدْيَنَ قَالَ عَسٰى رَبِّيْٓ اَنْ يَّهْدِيَنِيْ سَوَآءَ السَّبِيْلِ ﴿٢٢﴾ وَ لَمَّا وَرَدَ مَآءَ
مَدْيَنَ وَجَدَ عَلَيْهِ اُمَّةً مِّنَ النَّاسِ يَسْقُوْنَ ۬ وَ وَجَدَ مِنْ دُوْنِهِمُ امْرَاَتَيْنِ تَذُوْدٰنِ ۚ
قَالَ مَا خَطْبُكُمَا ؕ قَالَتَا لَا نَسْقِيْ حَتّٰى يُصْدِرَ الرِّعَآءُ ٚ وَ اَبُوْنَا شَيْخٌ كَبِيْرٌ ﴿٢٣﴾ فَسَقٰى
لَهُمَا ثُمَّ تَوَلّٰۤى اِلَى الظِّلِّ فَقَالَ رَبِّ اِنِّيْ لِمَاۤ اَنْزَلْتَ اِلَيَّ مِنْ خَيْرٍ فَقِيْرٌ ﴿٢٤﴾

۽ جڏهن ان مدين جو رُخ ڪيو تہ ان چيو اميد آهي تہ منهنجو رب مون کي سڌي راهہ ڏيکاري ۽ جڏهن هو مدين جي پاڻي تي پهتو تہ اُتي ماڻهن جي هڪ جماعت کي پاڻي پياريندي ڏٺائين ۽ انهن کان الڳ هڪ پاسي ٻن عورتن کي ڏٺو تہ اُهي پنهنجن ٻڪرين کي روڪي بيٺيون آهن. موسيٰ انهن کان پڇيو توهان جو ڪهڙو ڪم آهي. انهن چيو تہ اسان پاڻي نہ ٿا پياريون جيستائين ڌنار پنهنجو مال موٽائين ۽ اسان جو پيءُ ٻڍڙو آهي تہ ان انهن جي جانورن کي پاڻي پياريو. پوءِ ڇانو ڏانهن موٽي ويو. پوءِ چيائين تہ اي منهنجا رب! تون جيڪا شيءِ پلائي مان مون ڏانهن موڪلين آئون ان جو محتاج آهيان. ٢٢-٢٤

---

حضرت موسيٰ عليه السلام جو اهو سفر ڄڻ تہ نامعلوم منزل ڏانهن هو. اهڙين حالتن ۾ مؤمن جي دل جي جيڪا ڪيفيت هوندي آهي. اُها پوري طرح پاڻ عليه السلام تي ڇانيل هئي. پاڻ عليه السلام دعائن جي ڇانو ۾ پنهنجا قدم اڳتي وڌائي رهيا هئا. تقريباً ڏهن ڏينهن جي سفر کان پوءِ مدين پهتا. گمان آهي تہ پاڻ عليه السلام بکايل بہ هوندا.

حضرت موسيٰ عليه السلام ڪمزورن جي حمايت جي جذبي تحت مدين جي ٻن ڇوڪرين جي مدد ڪئي، اهو واقعو حضرت موسيٰ عليه السلام لاءِ ڇوڪرين جي والد تائين پهچڻ جو ذريعو بڻجي ويو. اهو بزرگ مديان بن ابراهيم جي اولاد مان هو ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام اسحاق بن ابراهيم جي اولاد مان. ان لحاظ کان ٻنهي ۾ نسلي ويجهڙائي بہ هئي.

ان وقت حضرت موسيٰ عليه السلام جي زبان مان اها دعا نڪتي ”رب اني لما انزلت الي من خير فقير“. اها دعا ٻڌائي ٿي تہ اهڙي وقت ۾ مؤمن جو ڪهڙو حال هوندو آهي هو پنهنجي سڄي معاملي کي الله تي

چڏي ڏيندو آهي. ان کي يقين هوندو آهي تہ ٻانهي کي جيڪو ڪجھ ملي ٿو الله کان ئي ملي ٿو ۽ خير اهوئي آهي جيڪو ان کي الله طرفان ملي.

فَجَآءَتْهُ اِحْدٰىهُمَا تَمْشِيْ عَلَى اسْتِحْيَآءٍ ؗ قَالَتْ اِنَّ اَبِيْ يَدْعُوْكَ لِيَجْزِيَكَ اَجْرَ مَا
سَقَيْتَ لَنَا ؕ فَلَمَّا جَآءَهٗ وَ قَصَّ عَلَيْهِ الْقَصَصَ ۙ قَالَ لَا تَخَفْ ۫ نَجَوْتَ مِنَ الْقَوْمِ
الظّٰلِمِيْنَ ۝ ٢٥ قَالَتْ اِحْدٰىهُمَا يٰۤاَبَتِ اسْتَاْجِرْهُ ؗ اِنَّ خَيْرَ مَنِ اسْتَاْجَرْتَ الْقَوِيُّ
الْاَمِيْنُ ۝ ٢٦ قَالَ اِنِّيْۤ اُرِيْدُ اَنْ اُنْكِحَكَ اِحْدَى ابْنَتَيَّ هٰتَيْنِ عَلٰۤى اَنْ تَاْجُرَنِيْ ثَمٰنِيَ
حِجَجٍ ۚ فَاِنْ اَتْمَمْتَ عَشْرًا فَمِنْ عِنْدِكَ ۚ وَ مَاۤ اُرِيْدُ اَنْ اَشُقَّ عَلَيْكَ ؕ سَتَجِدُنِيْۤ اِنْ
شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ۝ ٢٧ قَالَ ذٰلِكَ بَيْنِيْ وَ بَيْنَكَ ؕ اَيَّمَا الْاَجَلَيْنِ قَضَيْتُ فَلَا
ع عُدْوَانَ عَلَيَّ ؕ وَ اللّٰهُ عَلٰى مَا نَقُوْلُ وَكِيْلٌ ۝ ٢٨

پوءِ انهن ٻنهي مان هڪ حيا سان هلندي آئي. ان چيو منهنجو پيءُ توکي سڏي رهيو آهي تہ تو اسان لاءِ جيڪو پاڻي پياريو ان جو توکي بدلو ڏي. پوءِ جڏهن هو ان وٽ آيو ۽ ان سان سڄو قصو بيان ڪيائين تہ ان چيو ڊپ نہ ڪر. تو ظالمن کان نجات حاصل ڪئي. انهن مان هڪ چيو تہ اي بابا! ان کي ملازم ڪري رک. بهترين ماڻهو جنهن کي تون ملازم ڪري رکين اهو آهي جيڪو مضبوط ۽ امانت دار هجي. ان چيو تہ آئون چاهيان ٿو تہ پنهنجي انهن ٻن ڇوڪرين مان هڪ سان تنهنجو نڪاح ڪريان ان شرط تي تہ تون اٺ سال منهنجي ملازمت ڪرين. پوءِ جيڪڏهن تون ڏهہ سال پورا ڪرين تہ اهو تنهنجي طرفان احسان هوندو. ۽ آئون توتي سختي ڪرڻ نہ ٿو چاهيان. انشاءَ الله تون مون کي ڀلارو شخص لهندين. موسيٰ چيو اها ڳالھ منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ طي آهي. انهن ٻنهي مدتن مان جيڪا بہ آئون پوري ڪريان تہ مون تي ڪو زور نہ هوندو ۽ جيڪو چئون ٿا ان تي الله شاهد آهي. ٢٥-٢٨

---

ڇوڪريون ان ڏينهن ڪجھ جلدي گهر پهچي ويون. والد پڇيو تہ انهن ٻڌايو تہ اڄ هڪ مسافر اسان جي ٻڪرين کي اڳ ۾ ئي پاڻي پياري ڇڏيو. ڇوڪرين جي والد چيو تہ پوءِ توهان ان مسافر کي گهر ڇو نہ آندو تہ هو اسان سان گڏ ماني کائي. تنهن ڪري هڪ ڇوڪري ٻيهر کوھ تي وئي ۽ حضرت موسيٰ عليہ السلام کي سڏي آئي.

ڪجھ ڏينهن جي تجربي ٻڌايو تہ حضرت موسيٰ عليہ السلام محنتي بہ آهي ۽ امانت دار بہ.تنهن ڪري ان بزرگ پنهنجي ڌيءُ جي مشوري سان اتفاق ڪندي حضرت موسيٰ عليہ السلام کي پاڻ وٽ مستقل خدمت لاءِ رکي ڇڏيو. حقيقت اها آهي تہ اهي ٻئي صفتون. امانت ۽ قوت (Honesty and hard working) سڀني ضروري صفتن جون مجموعو آهن. ماڻهو جي انتخاب لاءِ معيار مقرر ڪرڻو هجي تہ انهن ٻن لفظن کان بهتر ڪو معيار نہ ٿو ٿي سگهي.

پوءِ ان بزرگ پنهنجي هڪ نياڻي جي شادي حضرت موسيٰ عليہ السلام سان ڪري ڇڏي. جيئن تہ ان وقت انهن کي پنهنجي گهر ۽ ملڪيت جي سنڀال لاءِ هڪ مرد جي ضرورت هئي. انهن حضرت

موسيٰ عليه السلام کي ان ڳالھ تي آماده ڪيو تہ ھو اٺ سال يا ڏھ سالن تائين انھن وٽ قيام ڪري، ان ڪان پوءِ ھو جيڏانھن وڃڻ چاھي وڃي سگھي ٿو.

فَلَمَّا قَضٰى مُوْسَى الْاَجَلَ وَ سَارَ بِاَهْلِهٖۤ اٰنَسَ مِنْ جَانِبِ الطُّوْرِ نَارًا ۚ قَالَ لِاَهْلِهِ امْكُثُوْۤا
اِنِّیْۤ اٰنَسْتُ نَارًا لَّعَلِّیْۤ اٰتِیْكُمْ مِّنْهَا بِخَبَرٍ اَوْ جَذْوَةٍ مِّنَ النَّارِ لَعَلَّكُمْ تَصْطَلُوْنَ ﴿۲۹﴾ فَلَمَّاۤ
اَتٰىهَا نُوْدِیَ مِنْ شَاطِئِ الْوَادِ الْاَیْمَنِ فِی الْبُقْعَةِ الْمُبٰرَكَةِ مِنَ الشَّجَرَةِ اَنْ یّٰمُوْسٰۤى اِنِّیْۤ
اَنَا اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِیْنَ ﴿۳۰﴾ وَ اَنْ اَلْقِ عَصَاكَ ؕ فَلَمَّا رَاٰهَا تَهْتَزُّ كَاَنَّهَا جَآنٌّ وَّلّٰى مُدْبِرًا وَّ لَمْ
یُعَقِّبْ ؕ یٰمُوْسٰۤى اَقْبِلْ وَ لَا تَخَفْ ۫ اِنَّكَ مِنَ الْاٰمِنِیْنَ ﴿۳۱﴾ اُسْلُكْ یَدَكَ فِیْ جَیْبِكَ تَخْرُجْ
بَیْضَآءَ مِنْ غَیْرِ سُوْٓءٍ ۫ وَّ اضْمُمْ اِلَیْكَ جَنَاحَكَ مِنَ الرَّهْبِ فَذٰنِكَ بُرْهَانٰنِ مِنْ رَّبِّكَ
اِلٰى فِرْعَوْنَ وَ مَلَا۟ئِهٖ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِیْنَ ﴿۳۲﴾

پوءِ جڏھن موسيٰ مدت پوري ڪري چڪو ۽ ھو پنھنجي گھر وارن سان روانو ٿيو تہ ان طور ڏانھن ھڪ باھ ڏٺي ان پنھنجي گھروارن کي چيو تہ توھان ترسو، مون ھڪ باھ ڏٺي آھي شايد آئون اُتان ڪا خبر وٺي اچان يا باھ جو ڪو ٽانڊو آڻيان، تہ جيئن توھان سيڪيو. پوءِ جڏھن ھو اُتي پھتو تہ وادي جي ساڄي ڪناري کان برڪت واري جاءِ وٽ وڻ مان سڏيو ويو تہ اي موسيٰ! آئون الله آھيان سڀني جھانن جو مالڪ ۽ تون پنھنجي لٺ اُڇل، پوءِ جڏھن ھن ان کي حرڪت ڪندي ڏٺو تہ ڄڻ نانگ ھجي تہ ھو پٺي ڏئي ڀڄو ۽ مڙي نہ ڏٺائين. اي موسيٰ! اڳيان اچ ۽ نہ ڊڄ، تون بلڪل محفوظ آھين. پنھنجو ھٿ گريبان ۾ وجھہ. اھو چمڪندي نڪرندو بغير ڪنھن مرض جي ۽ خوف واسطي پنھنجون ٻانھون پاڻ ۾ ملائي. پوءِ اِھي تنھنجي رب طرفان ٻہ دليل آھن، فرعون ۽ ان جي دربار وارن وٽ وڃڻ جي لاءِ، بيشڪ اھي نافرمان ماڻھو آھن. ٢٩-٣٢

---

حضرت موسيٰ عليه السلام غالباً ڏھ سال مدين ۾ رھيا. ان مدت ۾ اڳوڻو فرعون مري ويو ۽ فرعون جي خاندان جو ٻيو شخص مصر جي تخت تي ويٺو. پاڻ عليه السلام پنھنجي زال (۽ توريت مطابق ٻن ٻارن) سان ٻيھر مصر ڏانھن روانا ٿيا. رستي ۾ پاڻ عليه السلام تي جبل طور جو تجربو گذريو.

جنھن الله سينا جي جبل تي ھڪ انسان سان براہ راست ڪلام ڪيو. اھو الله تعاليٰ سيني انسانن کي بہ براہ راست آواز ڏئي پنھنجي مرضي کان باخبر ڪري سگھي ٿو، پر اھو خدا جو طريقو نہ آھي. براہ راست خطاب جو مطلب پردي کي ھٽائي ڇڏڻ آھي، جڏھن تہ امتحان جي مصلحت چاھي ٿي تہ پردو لازمي باقي رھي، تنھن ڪري الله تعاليٰ پنھنجو براہ راست ڪلام صرف ڪنھن منتخب انسان تي نازل ڪري ٿو ۽ باقي ماڻھن تائين ان جي ذريعي پنھنجو پيغام پھچائي ٿو.

قَالَ رَبِّ اِنِّیْ قَتَلْتُ مِنْهُمْ نَفْسًا فَاَخَافُ اَنْ یَّقْتُلُوْنِ ﴿۳۳﴾ وَ اَخِیْ هٰرُوْنُ هُوَ اَفْصَحُ مِنِّیْ لِسَانًا
فَاَرْسِلْهُ مَعِیَ رِدْاً یُّصَدِّقُنِیْۤ ۫ اِنِّیْۤ اَخَافُ اَنْ یُّكَذِّبُوْنِ ﴿۳۴﴾ قَالَ سَنَشُدُّ عَضُدَكَ بِاَخِیْكَ وَ
نَجْعَلُ لَكُمَا سُلْطٰنًا فَلَا یَصِلُوْنَ اِلَیْكُمَا ۛ بِاٰیٰتِنَاۤ ۛ اَنْتُمَا وَ مَنِ اتَّبَعَكُمَا الْغٰلِبُوْنَ ﴿۳۵﴾

مع عند المتأخرين ١٢

موسيٰ چيو اي منهنجا رب! مون انهن ۾ هڪ ماڻهو کي قتل ڪيو آهي، تہ آئون ڊڄان ٿو تہ هو مون کي ماري وجهندا ۽ منهنجو ڀاءُ هارون مون کان زبان جي ڪري وڌيڪ چٽو ڳالهائيندڙ آهي. تنهن ڪري تون ان کي مون سان مددگار جي حيثيت سان موڪل تہ هو منهنجي تصديق ڪري. آئون ڊڄان ٿو تہ اهي ماڻهو مون کي ڪوڙو ڀائيندا. فرمايو ويو تہ اسان تنهنجي ڀاءُ سان تنهنجا بازو مضبوط ڪنداسون ۽ اسان توهان کي غلبو ڏينداسون. پوءِ اهي اوهان تائين نہ پهچي سگهندا. اسان جي نشانين سان توهان ٻئي ۽ توهان جي پيروي ڪرڻ وارا ئي غالب رهندا. ٣٣-٣٥

---

الله تعاليٰ جڏهن ڪنهن کي پنهنجي دعوت جي ڪم تي مقرر ڪندو آهي تہ لازمي طور تي ان کي اهي سڀئي اسباب بہ ڏيندو آهي، جيڪي مؤثر دعوت جي ڪم جي ادائيگي لاءِ ضروري آهن. تنهن ڪري حضرت موسيٰعليه السلام کي سندس حالتن جي لحاظ کان ڪيترين ئي شيون ڏنيون ويون، پاڻعليه السلام کي حجت طور معجزا عطا ڪيا ويا. پاڻعليه السلام کي مددگار ڏنو ويو جيڪو حق جي اعلان ۾ پاڻعليه السلام جو ساٿ ڏي. پاڻعليه السلام کي شخصي رعب ڏنو ويو، تہ جيئن فرعون جي قوم پاڻعليه السلام تي هٿ وجهڻ جي جرائت نہ ڪري. خدا طرفان اهو مقدر ڪيو ويو تہ حضرت موسيٰعليه السلام ۽ پاڻعليه السلام جي ساٿين (بني اسرائيل) ئي کي آخري غلبو حاصل ٿئي.

فَلَمَّا جَآءَهُمۡ مُّوۡسٰی بِاٰیٰتِنَا بَیِّنٰتٍ قَالُوۡا مَا هٰذَاۤ اِلَّا سِحۡرٌ مُّفۡتَرًی وَّ مَا سَمِعۡنَا بِهٰذَا فِیۡۤ اٰبَآئِنَا الۡاَوَّلِیۡنَ ﴿۳۶﴾ وَ قَالَ مُوۡسٰی رَبِّیۡۤ اَعۡلَمُ بِمَنۡ جَآءَ بِالۡهُدٰی مِنۡ عِنۡدِهٖ وَ مَنۡ تَکُوۡنُ لَهٗ عَاقِبَةُ الدَّارِ ؕ اِنَّهٗ لَا یُفۡلِحُ الظّٰلِمُوۡنَ ﴿۳۷﴾ وَ قَالَ فِرۡعَوۡنُ یٰۤاَیُّهَا الۡمَلَاُ مَا عَلِمۡتُ لَکُمۡ مِّنۡ اِلٰهٍ غَیۡرِیۡ ۚ فَاَوۡقِدۡ لِیۡ یٰهَامٰنُ عَلَی الطِّیۡنِ فَاجۡعَلۡ لِّیۡ صَرۡحًا لَّعَلِّیۡۤ اَطَّلِعُ اِلٰۤی اِلٰهِ مُوۡسٰی ۙ وَ اِنِّیۡ لَاَظُنُّهٗ مِنَ الۡکٰذِبِیۡنَ ﴿۳۸﴾

پوءِ جڏهن موسيٰ انهن ماڻهن وٽ اسان جي واضح نشانين سان پهتو. انهن چيو تہ اهو رڳو هٿرادو جادو آهي ۽ اها ڳالهہ اسان پنهنجن اڳين ابن ڏاڏن ۾ نہ ٻڌي آهي ۽ موسيٰ چيو منهنجو رب چڱي طرح ڄاڻي ٿو. ان کي جيڪو ان وٽان هدايت کڻي آيو آهي ۽ جنهن کي آخرت جو گهر ملندو. بيشڪ ظالم ڪامياب نہ ٿيندا. ۽ فرعون چيو تہ اي دربار وارو! آئون توهان لاءِ پاڻ کان سواءِ ڪنهن معبود کي نہ ٿو ڄاڻان. تہ اي هامان! مون لاءِ مٽي کي باهہ ڏي. پوءِ مون لاءِ هڪ بلند عمارت ٺاهہ تہ جيئن آئون موسيٰ جي رب کي ڏسان ۽ آئون تہ ان کي ڪوڙو سمجهان ٿو. ٣٦-٣٨

---

هڪ ماڻهو پاڻ کي وڏو سمجهندو هجي، ان جي سامهون هڪ بظاهر معمولي ماڻهو اچي ۽ ان تي براه راست تنقيد ڪري تہ هو فوراً بگڙي پوندو آهي. هو ان جو مذاق اڏائي ٿو ۽ مذاق اڏائڻ لاءِ طرح طرح جون ڳالهيون ڪري ٿو. اهوئي ان وقت فرعون حضرت موسيٰ جي مقابلي ۾ ڪيو.

”آئون پاڻ کان سواءِ ڪنهن معبود کي نہ ٿو ڄاڻان.“ اهو ڪو سنجيده جملو نہ آهي. ان جملي سان فرعون جو مقصد حقيقت بيان ڪرڻ نہ هو، بلڪ موسيٰعليه السلام جي تحقير ڪرڻ هو، اهڙي طرح فرعون جڏهن پنهنجي وزير هامان کي چيو تہ پڪيون سِرون تيار ڪري هڪ بلند عمارت ٺاهہ، تہ جيئن آئون آسمان ۾ جهاتي پائي موسيٰعليه السلام جي خدا کي ڏسان تہ اهو ڪو سنجيده حڪم نہ هو، ان جو مطلب اهو نہ

هو تہ هو واقعي پنهنجي وزير کي هڪ تعمير جو حڪم جاري ڪري رهيو آهي. اِهو صرف حضرت موسيٰ عليه السلام جو مذاق اُڏائڻ هو نہ وري حقيقت ۾ عمارت جي تعمير جو حڪم.

وَ اسْتَكْبَرَ هُوَ وَ جُنُوْدُهٗ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَ ظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ اِلَيْنَا لَا يُرْجَعُوْنَ ﴿٣٩﴾
فَاَخَذْنٰهُ وَ جُنُوْدَهٗ فَنَبَذْنٰهُمْ فِي الْيَمِّ ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٠﴾ وَ
جَعَلْنٰهُمْ اَئِمَّةً يَّدْعُوْنَ اِلَى النَّارِ ۚ وَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ لَا يُنْصَرُوْنَ ﴿٤١﴾ وَ اَتْبَعْنٰهُمْ فِيْ هٰذِهِ
ع الدُّنْيَا لَعْنَةً ۚ وَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ هُمْ مِّنَ الْمَقْبُوْحِيْنَ ﴿٤٢﴾ وَ لَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ مِنْ
بَعْدِ مَآ اَهْلَكْنَا الْقُرُوْنَ الْاُوْلٰى بَصَآئِرَ لِلنَّاسِ وَ هُدًى وَّ رَحْمَةً لَّعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٣﴾

۽ هُن ۽ ان جي فوجن زمين ۾ ناحق تڪبر ڪيو ۽ انهن سمجهيو تہ انهن کي اسان ڏانهن موٽڻو نہ آهي. پوءِ ڪيس ۽ سندس فوجن کي پڪڙيو سون. پوءِ انهن کي سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو سون تہ ڏسو ڪهڙو انجام ٿيو ظالمن جو ۽ اسان انهن کي اڳواڻ بڻايو تہ باهہ ڏانهن سڏيندا آهن ۽ قيامت جي ڏينهن انهن کي مدد نہ ملندي ۽ اسان دنيا ۾ سندن پٺيان لعنت لڳائي ڇڏي ۽ قيامت جي ڏينهن اهي بدحال ماڻهن مان هوندا ۽ اسان اڳين امتن کي هلاڪ ڪرڻ کان پوءِ موسيٰ کي ڪتاب ڏنو ماڻهن لاءِ بصيرت جو سامان ۽ هدايت ۽ رحمت، تہ جيئن اُهي نصيحت وٺن. ٣٩-٤٣

---

حضرت موسيٰ عليه السلام جي تحريڪ انسانن ۾ رباني انقلاب پيدا ڪرڻ جي تحريڪ هئي. پاڻ عليه السلام جو مقصد اهو هو تہ ماڻهو الله کان ڊڄي ۽ الله جو ٻانهو بڻجي. دنيا ۾ زندگي گذاري. پاڻ عليه السلام جو اهوئي پيغام پيِن ماڻهن جي لاءِ بہ هو ۽ ان ماڻهو لاءِ بہ جيڪو ملڪ جي تخت تي ويٺو هو.

اها هڪ عام ڳالهہ آهي تہ اختيار ۽ اقتدار حاصل ڪري ماڻهو تڪبر جي نفسيات ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي. اهو ئي فرعون جو حال هو. حضرت موسيٰ عليه السلام فرعون کي ڊيڄاريو تہ جيڪڏهن تون متڪبر بڻجي دنيا ۾ رهندي تہ الله تعاليٰ جي پڪڙ ۾ اچي ويندين، پر فرعون نصيحت قبول نہ ڪئي. نتيجو اهو ٿيو تہ ان کي هلاڪ ڪيو ويو.

فرعون قديم مشرڪاڻي تهذيب جو امام هو. مشرڪاڻي تهذيب ۾ فرعون کي بلند مقام حاصل هو، پر مشرڪاڻي تهذيب نہ رڳو مصر بلڪ سڄي دنيا مان ختم ٿي وئي، هاڻي دنيا جي آبادي ۾ گهڻو ڪري يا تہ مسلمان آهن يا يهودي يا عيسائي ۽ اهي سڀئي متفق طور تي فرعون کي لعنت زده سمجهندا آهن، هاڻي دنيا ۾ ڪو بہ فرعون جي عظمت کي مڃڻ وارو نہ آهي.

وَ مَا كُنْتَ بِجَانِبِ الْغَرْبِيِّ اِذْ قَضَيْنَآ اِلٰى مُوْسَى الْاَمْرَ وَ مَا كُنْتَ مِنَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٤٤﴾ وَ
لٰكِنَّآ اَنْشَاْنَا قُرُوْنًا فَتَطَاوَلَ عَلَيْهِمُ الْعُمُرُ ۚ وَ مَا كُنْتَ ثَاوِيًا فِيْٓ اَهْلِ مَدْيَنَ تَتْلُوْا
عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا ۙ وَ لٰكِنَّا كُنَّا مُرْسِلِيْنَ ﴿٤٥﴾ وَ مَا كُنْتَ بِجَانِبِ الطُّوْرِ اِذْ نَادَيْنَا وَ لٰكِنْ رَّحْمَةً
مِّنْ رَّبِّكَ لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ اَتٰىهُمْ مِّنْ نَّذِيْرٍ مِّنْ قَبْلِكَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٦﴾

۽ تون جبل جي اولهندي پاسي موجود نہ هئين جڏهن اسان موسيٰ ڏانهن وحي موڪليوسون ۽ نہ تون شاهدن ۾ شامل هئين، پر اسان ڪيترين ئي نسلون پيدا ڪيون. پوءِ انهن تي گهڻو زمانو گذري ويو ۽ تون مدين وارن ۾ نہ رهندو هئين جو انهن کي اسان جون آيتون پڙهائين ها. پر اسان آهيون پيغمبر موڪلڻ وارا ۽ تون طور جي پاسي نہ هيئن جڏهن اسان موسيٰ کي سڏيو. پر اهو تنهنجي رب جو انعام آهي، تہ جيئن تون هڪ اهڙي قوم کي ڊيڄارين جن وٽ توکان اڳ ۾ ڪو ڊيڄارڻ وارو نہ آيو، تہ جيئن هو نصيحت وٺن. ٤٤-٤٦

---

رسول اللهﷺ قرآن ۾ حضرت موسيٰ جا واقعا ايتري تفصيل سان بيان ڪري رهيا هئا ڄڻ تہ پاڻﷺ موقعي تي بيهي سڀ ڪجهہ ڏسي ۽ ٻڌي رهيا هجن. جڏهن تہ حقيقت اها آهي تہ پاڻﷺ حضرت موسيٰ عليه السلام کان ٻہ هزار سال بعد مڪي ۾ پيدا ٿيا. اهو ان ڳالهہ جو واضح دليل هو تہ قرآن جو ڪلام خدا جو ڪلام آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪو انسان اهڙي طرح بيان ڪرڻ تي قادر نہ ٿو ٿي سگهي.

رسول اللهﷺ جي زماني ۾ اڄ وانگر ڪتاب نہ هئا. ان وقت حضرت موسيٰ عليه السلام جي واقعن جو ذڪر يهودين جي غيرعربي ڪتابن ۾ هو، جن جا رڳو ڪجهہ نسخا يهودي عبادت خانن ۾ محفوظ هئا ۽ يقيني طور تي رسول اللهﷺ جي پهچ کان ٻاهر هئا. وڌيڪ اهو تہ قرآن جي بيان ۽ يهودي ڪتابن جي بيانن ۾ گهڻو ۽ نهايت بامعنيٰ فرق آهي ۽ اهو انداز ٻڌائي ٿو تہ قرآن جو بيان ئي وڌيڪ صحيح آهي. مثال طور حضرت موسيٰ عليه السلام جي هٿان قبطي جي موت قرآن جي بيان مطابق بغير ارادي جي ٿي هئي. جڏهن تہ بائيبل موسيٰ جي باري ۾ چئي ٿو: ”پوءِ ان هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو ۽ جڏهن ڏٺائين تہ اتي ڪو ٻيو ماڻهو نہ آهي تہ ان مصري کي ماري ان کي واري ۾ لڪائي ڇڏو. (خروج: ٢: ١٢)

صاف ڳالهہ آهي تہ حضرت موسيٰ عليه السلام جهڙي مقدس شخصيت سان قرآن جو بيان مطابقت رکي ٿو نہ وري توريت جو بيان. پوءِ رسول اللهﷺ ڪهڙي طرح ان تي قادر ٿيا تہ ڪنهن ظاهري وسيلي کان سواءِ حضرت موسيٰ عليه السلام جو واقعو ايتري قدر صحيح نموني قرآن ۾ پيش ڪري سگهن. ان جو ڪوبہ جواب ان کان سواءِ نہ ٿو ٿي سگهي تہ الله تعاليٰ عالم الغيب اهي ڳالهيون پاڻ عليه السلام تي وحي ذريعي نازل فرمايون.

وَلَوْلَآ اَنْ تُصِيْبَهُمْ مُّصِيْبَةٌۢ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ فَيَقُوْلُوْا رَبَّنَا لَوْلَآ اَرْسَلْتَ اِلَيْنَا رَسُوْلًا فَنَتَّبِعَ اٰيٰتِكَ وَنَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٤٧﴾ فَلَمَّا جَآءَهُمُ الْحَقُّ مِنْ عِنْدِنَا قَالُوْا لَوْلَآ اُوْتِيَ مِثْلَ مَآ اُوْتِيَ مُوْسٰى ۭ اَوَلَمْ يَكْفُرُوْا بِمَآ اُوْتِيَ مُوْسٰى مِنْ قَبْلُ ۚ قَالُوْا سِحْرٰنِ تَظٰهَرَا ۣ وَقَالُوْٓا اِنَّا بِكُلٍّ كٰفِرُوْنَ ﴿٤٨﴾

۽ جيڪڏهن ايئن نہ هجي ها تہ انهن تي سندن عملن سبب ڪا آفت اچي تہ هو چون اي اسان جا رب! تو اسان ڏانهن ڪو رسول ڇو نہ موڪليو جو اسان تنهنجي آيتن جي پيروي ڪريون ها ۽ اسان ايمان وارن مان ٿيون ها. پوءِ جڏهن انهن وٽ اسان جي طرفان حق آيو تہ انهن چيو تہ ڇو نہ هن کي اهڙو مليو جهڙو موسيٰ کي مليو هو. ڇا ماڻهن ان جو انڪار نہ ڪيو جيڪو ان کان اڳ موسيٰ کي ڏنو ويو هو، انهن چيو تہ ٻئي جادو آهن هڪ جهڙا ۽ انهن چيو تہ اسان ٻنهي جو انڪار ڪريون ٿا. ٤٧-٤٨

---

حضرت موسيٰ قديم مصرين جي سامهون پنهنجي رسالت جو پيغام پيش ڪيو ته ان سان گڏ ئي پاڻ عليه السلام معجزا به ڏيکاريا. پر انهن ماڻهن نه مڃيو ۽ چئي ڇڏيو ته اهو جادو آهي. رسول الله صلي الله عليه وسلم قديم عرب ۾ دليل جي بنياد تي حق جي دعوت پيش ڪئي ته انهن چيو ته جيڪڏهن هي پيغمبر آهي ته موسيٰ جهڙا معجزا ڇو نه ٿو ڏيکاري.

اهي سڀ غيرسنجيده ذهن مان نڪتل ڳالهيون آهن، موجوده دنيا ۾ حق کي مڃڻ لاءِ سيني کان ضروري شرط اهو آهي ته ماڻهو سنجيده هجي، جيڪو ماڻهو حق ۽ ناحق جي معاملي ۾ سنجيده نه هجي، ان کي ڪابه شيءِ حق جي اعتراف تي مجبور نه ٿي ڪري سگهي. هو هر دفعي نئون عذر تلاش ڪري وٺندو، اهو هر ڳالهه جي جواب ۾ نوان لفظ ڳولهي وٺندو.

قُلْ فَأْتُوْا بِكِتٰبٍ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ هُوَ اَهْدٰى مِنْهُمَآ اَتَّبِعْهُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٤٩﴾ فَاِنْ لَّمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَكَ فَاعْلَمْ اَنَّمَا يَتَّبِعُوْنَ اَهْوَآءَهُمْ ؕ وَ مَنْ اَضَلُّ مِمَّنِ اتَّبَعَ هَوٰىهُ بِغَيْرِ هُدًى مِّنَ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥٠﴾ وَ لَقَدْ وَصَّلْنَا لَهُمُ الْقَوْلَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٥١﴾

چئو ته توهان الله وٽان ڪو ڪتاب آڻيو جيڪو هدايت ڪرڻ ۾ انهن ٻنهي کان بهتر هجي. آئون ان جي پيروي ڪندس جيڪڏهن توهان سچا آهيو. پوءِ جيڪڏهن اهي ماڻهو تنهنجي ڳالهه قبول نه ڪن ته ڄاڻي وٺ ته اهي رڳو پنهنجن خواهش جي پيروي ڪري رهيا آهن ۽ ان کان وڌيڪ گمراه ڪير هوندو جيڪو الله جي هدايت کان سواءِ پنهنجي خواهش جي پيروي ڪري، بيشڪ الله ظالم ماڻهن کي هدايت نه ٿو ڏي ۽ اسان انهن ماڻهن لاءِ لڳاتار پنهنجو ڪلام موڪليو، ته جيئن اهي نصيحت وٺن. ٤٩-٥١

---

حق جي پيغام کي مڃڻ يا نه مڃڻ جو اصل معيار اهو آهي ته پيغام کي خود ان جي ذاتي جوهر جي بنياد تي پرکيو وڃي. جيڪڏهن اِهو پنهنجي ذات ۾ برتر صداقت هئڻ ثابت ڪري رهيو هجي ته اهو ڪافي آهي جو ان کي مڃيو وڃي. ان کان پوءِ ان کي مڃڻ لاءِ ڪنهن ٻي شيءِ جي ضرورت نه آهي.

صداقت جو جواب صداقت آهي، جيڪڏهن ماڻهو صداقت کان انڪار ڪري ۽ ان جي جواب ۾ ٻي اعليٰ تر صداقت پيش نه ڪري سگهي ته ان جو مطلب اهو آهي ته هو خواهش پرستي جي ڪري ان جو انڪار ڪري رهيو آهي. جن ماڻهن جو اهو حال هجي جو هو صداقت کي دليل ذريعي رد نه ڪري سگهن ۽ پوءِ به خواهش ۽ تعصب جي ڪري زير اثر انڪي نه مڃين ته اهي بدترين گمراهه ماڻهو آهن. اهڙا ماڻهو الله تعاليٰ وٽ ظالمن ۾ شمار ٿيندا.

اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِهٖ هُمْ بِهٖ يُؤْمِنُوْنَ ﴿٥٢﴾ وَ اِذَا يُتْلٰى عَلَيْهِمْ قَالُوْۤا اٰمَنَّا بِهٖۤ اِنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّنَاۤ اِنَّا كُنَّا مِنْ قَبْلِهٖ مُسْلِمِيْنَ ﴿٥٣﴾ اُولٰٓئِكَ يُؤْتَوْنَ اَجْرَهُمْ مَّرَّتَيْنِ بِمَا صَبَرُوْا وَ يَدْرَءُوْنَ بِالْحَسَنَةِ السَّيِّئَةَ وَ مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿٥٤﴾ وَ اِذَا سَمِعُوا اللَّغْوَ

اَعۡرَضُوۡا عَنۡهُ وَ قَالُوۡا لَنَاۤ اَعۡمَالُنَا وَ لَكُمۡ اَعۡمَالُكُمۡ ۫ سَلٰمٌ عَلَيۡكُمۡ ۫ لَا نَبۡتَغِي
الۡجٰهِلِيۡنَ ﴿۵۵﴾ اِنَّكَ لَا تَهۡدِيۡ مَنۡ اَحۡبَبۡتَ وَ لٰكِنَّ اللّٰهَ يَهۡدِيۡ مَنۡ يَّشَآءُ ۚ وَ هُوَ اَعۡلَمُ
النصف بِالۡمُهۡتَدِيۡنَ ﴿۵۶﴾

جن ماڻهن کي اسان هن (قرآن) کان اڳ ڪتاب ڏنو آهي. اهي هن (قرآن) تي ايمان آڻين ٿا ۽ جڏهن اهو انهن کي ٻڌايو ويندو آهي ته هو چوندا آهن ته اسان ان تي ايمان آندو. بيشڪ اهو حق آهي اسان جي رب طرفان، اسان ته اڳ ۾ ئي ان کي مڃڻ وارا آهيون. اهي ماڻهو آهن جن کي ٻيڻو اجر ڏنو ويندو. ان ڪري جو انهن صبر ڪيو ۽ اُهي برائي کي ڀلائي سان ٽاريندا آهن ۽ اسان انهن کي جيڪو ڪجهه ڏنو آهي ان مان خرچ ڪندا آهن ۽ جڏهن هو بيهودي ڳالهه ٻڌندا آهن ته ان کان منهن موڙيندا آهن ۽ چوندا آهن اسان جي لاءِ اسان جا عمل آهن ۽ توهان لاءِ توهان جا عمل. اوهان تي سلام هجي، اسان بي سمجهه ماڻهن سان اُلجهڻ نه ٿا چاهيون. تون جنهن کي چاهين هدايت نه ٿو ڏئي سگهين، بلڪ الله جنهن کي چاهي ٿو هدايت ڏي ٿو ۽ اهوئي چڱي طرح ڄاڻي ٿو جيڪي هدايت قبول ڪرڻ وارا آهن. ٥٢-٥٦

---

مڃڻ جون ٻه صورتون آهن. هڪ اِهو ته حق آهي ان ڪري مڃجي. ٻيو اهو ته پنهنجي ٽولي جو آهي ان ڪري مڃجي، انهن ٻنهي مان صرف پهرين قسم جي انسانن کي ئي هدايت جي توفيق ملندي آهي ۽ اهڙي ئي قسم جا ماڻهو هئا جن اول دور ۾ قرآن ۽ پيغمبر تي ايمان آندو.

عيسائين ۽ يهودين مان هڪ تعداد قرآن کي ٻڌندي ئي ان جي مؤمن بڻجي وئي. اهي اُهي ئي ماڻهو هئا جيڪي گذريل پيغمبرن جي حقيقي تعليم تي قائم هئا. ان ڪري انهن کي پيغمبر آخرالزمان کي مڃڻ ۾ دير نه لڳي. انهن نئين پيغمبر کي به اهڙي طرح سڃاتي ورتو، جهڙي طرح انهن پوئين پيغمبرن کي سڃاتو هو، پر پاڻ کي ان قابل رکڻ لاءِ انهن کي "صبر" جي مرحلن مان گذرڻو پيو.

انهن پنهنجي ذهن کي ان اثر کان پاڪ رکيو جنهن کان پوءِ ماڻهو حق جي معرفت لاءِ نااهل ٿي ويندو آهي، اهي اُهي تاريخي ۽ سماجي سبب آهن جيڪي ماڻهو جي ذهن ۾ خدائي دين کي گروهي دين بڻائي ڇڏيندا آهن، ماڻهو جو حال اهو ٿي ويندو آهي جو هو صرف ان دين کي سڃاڻي سگهي جيڪو ان کي پنهنجي جماعت کان مليو هجي، هو ان دين کي سڃاڻڻ ۾ ناڪام رهي جيڪو ان جي پنهنجي جماعت کان سوءِ ان وٽ پهچي. ان اثر کان محفوظ رهڻ لاءِ ماڻهو کي زبردست نفسياتي قرباني ڏيڻي پئي ٿي. ان ڪري ان کي صبر سان تعبير فرمايو ويو آهي، اهڙن ماڻهن کي ٻيڻو اجر ڏنو ويندو. هڪ سندن ان قرباني جو ته انهن پنهنجي سابقه ايمان کي جماعتي ايمان بڻجڻ نه ڏنو ۽ ٻيو انهن جي اُن جوهر شناسي جو ته سندن سامهون نئون پيغمبر آيو ته انهن ان کي سڃاڻي ورتو ۽ ان جو ساٿ ڏنو.

جن ماڻهن جي اندر حق شناسي جو مادو هجي، انهن جي اندر اعليٰ اخلاقي صفتون پرورش وٺنديون آهن. ماڻهو انهن سان برائي ڪن تڏهن به اهي ماڻهن سان ڀلائي ڪندا آهن. اهي ٻين جي مدد ڪندا آهن، ته جيئن الله تعاليٰ انهن جي مدد ڪري. انهن جو طريقو اعراض جو طريقو هوندو آهي، نه وري ماڻهن سان الجهي پوڻ جو طريقو.

وَ قَالُوْٓا اِنْ نَّتَّبِعِ الْهُدٰى مَعَكَ نُتَخَطَّفْ مِنْ اَرْضِنَا ؕ اَوَ لَمْ نُمَكِّنْ لَّهُمْ حَرَمًا اٰمِنًا
يُّجْبٰٓى اِلَيْهِ ثَمَرٰتُ كُلِّ شَيْءٍ رِّزْقًا مِّنْ لَّدُنَّا وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٥٧﴾

۽ اُهي چوندا آهن تہ جيڪڏهن اسان توسان گڏ ان هدايت تي هلڻ لڳون تہ اسان پنهنجي زمين مان تڙجي ويندا سون. ڇا اسان انهن کي امن واري حرم ۾ جاءِ نہ ڏني. جتي سيني جنسن جا ميوا پهچايا وڃن ٿا اسان طرفان رزق طور تہ پر انهن مان اڪثر ماڻهو نہ ٿا ڄاڻين. ٥٧

---

جنهن نظام سان ماڻهو جا فائدا وابستہ ٿي وڃن، هو سمجهڻ لڳي ٿو تہ مون کي جيڪو ڪجھ ملي رهيو آهي اهو ان نظام جي ڪري ئي ملي رهيو آهي. ماڻهو صرف حال جي فائدن کي ڄاڻي ٿو. هو مستقبل جي فائدن کي نہ ٿو ڄاڻي.

اهوئي معاملو قديم مڪي جي مشرڪن جو هو. انهن ڪعبي ۾ سيني عرب قبيلن جا بت رکي ڇڏيا هئا. اهڙي طرح انهن کي سڄي ملڪ جي مذهبي سرداري حاصل ٿي وئي هئي. اهڙي طرح انهن بتن جي نالي تي جيڪي نذرانہ ايندا هئا، اهي بہ انهن جي معاش جو خاص ذريعو هئا.

پر اها صرف سندن تنگ نظري هئي. خدا جو رسول انهن کي هڪ اهڙي دين ڏانهن سڏي رهيو هو جيڪو انهن کي بين الاقوامي امامت ڏيڻ وارو هو ۽ اهي هڪ اهڙي دين جي ڪري ان کي ڇڏي رهيا هئا جنهن وٽ ملڪ جي قبيلن جي معمولي سرداري کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ هو.

وَ كَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَرْيَةٍۭ بَطِرَتْ مَعِيْشَتَهَا ۚ فَتِلْكَ مَسٰكِنُهُمْ لَمْ تُسْكَنْ مِّنْۢ بَعْدِهِمْ
اِلَّا قَلِيْلًا ؕ وَ كُنَّا نَحْنُ الْوٰرِثِيْنَ ﴿٥٨﴾ وَ مَا كَانَ رَبُّكَ مُهْلِكَ الْقُرٰى حَتّٰى يَبْعَثَ فِيْٓ اُمِّهَا
رَسُوْلًا يَّتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا ۚ وَ مَا كُنَّا مُهْلِكِي الْقُرٰٓى اِلَّا وَ اَهْلُهَا ظٰلِمُوْنَ ﴿٥٩﴾

۽ اسان ڪيتريون ئي وسنديون هلاڪ ڪري ڇڏيون جيڪي پنهنجي گذران (معيشت) تي آڪڙ ڪنديون هيون. پوءِ اِهي آهن سندن وسنديون جيڪي انهن کان پوءِ آباد نہ ٿيون، پر تمام گهٽ ۽ اسان ئي سندن وارث ٿياسون ۽ تنهنجو رب وسندين کي هلاڪ ڪرڻ وارو نہ هو. جيستائين سندن وڏي وسندي ۾ ڪنهن پيغمبر کي نہ موڪلي جيڪو کين اسان جون آيتون پڙهي ٻڌائي ۽ اسان هرگز وسندين کي هلاڪ ڪرڻ وارا نہ آهيون، پر جڏهن تہ اتي جا ماڻهو ظالم هجن. ٥٨-٥٩

---

دنيا ۾ ڪنهن کي مادي استحڪام حاصل هجي تہ هو وڏائي جي احساس ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي، حالانڪ تاريخ مسلسل اهو سبق ڏئي رهي آهي تہ ڪنهن بہ ماڻهو يا قوم جو مادي استحڪام مستقل نہ آهي، جڏهن بہ ڪنهن قوم حق کي نظرانداز ڪيو تہ سڄي عظمت جي باوجود اها هلاڪ ڪئي وئي.

عرب جي خطي ۾ اسلام کان پهرين مختلف قومون هيون. مثلاً عاد، ثمود، سبا، مدين ۽ لوط جي قوم وغيره. هر هڪ قوم تڪبر ۾ مبتلا ٿي وئي، پر هر هڪ قوم جو تڪبرزماني باطل ڪري ڇڏيو ۽ آخرڪار سندن حيثيت آڪاٽي کان سواءِ ٻيو ڪجھ نہ رهي. انهن قومن جا کنڊر ڇئني پاسي پکڙيل آهن ۽ انساني عظمت جي نفي ڪري رهيا آهن. ان جي باوجود پيغمبر اسلام جي زماني ۾ جن

ماڻهن کي وڏائي حاصل هئي، انهن پيغمبر کي ساڳئي طرح ڪوڙو ڄاتو. ڇڻ تہ ماضي جي واقعن ۾ سندن حال لاءِ ڪا نصيحت نہ آهي.

وَ مَاۤ اُوْتِيْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَمَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَ زِيْنَتُهَا ۚ وَ مَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ وَّ اَبْقٰى ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ۝٦٠ اَفَمَنْ وَّعَدْنٰهُ وَعْدًا حَسَنًا فَهُوَ لَاقِيْهِ كَمَنْ مَّتَّعْنٰهُ مَتَاعَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ثُمَّ هُوَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ مِنَ الْمُحْضَرِيْنَ۝٦١

۽ جيڪا شيءِ بہ توهان کي ڏني وئي آهي اها بس رڳو دنيا جي زندگي جو سامان ۽ ان جي رونق آهي ۽ جيڪو ڪجھ الله وٽ آهي اهو بهتر آهي ۽ باقي رهڻ وارو آهي. پوءِ ڇا توهان سمجھو نہ ٿا. ڀلا اهو ماڻھو جنھن سان اسان سٺو واعدو ڪيو آهي پوءِ اُهو ان کي لھڻ وارو آهي ڇا ان ماڻھو جھڙو ٿي سگھي ٿو جنھن کي اسان صرف دنياوي زندگي جو فائدو ڏنو آهي، پوءِ قيامت جي ڏينھن اهو حاضر ڪيلن مان هجي. ٦٠-٦١

---

دنيا ۾ ماڻھو وٽ ڪيترو ئي گھڻو سازو سامان هجي، پر موت جي وقت اهو ماڻھو جو ساٿ ڇڏي ڏيندو آهي. موت کان پوءِ جيڪا شيءِ ماڻھو سان گڏ ويندي آهي، اهي ان جا نيڪ عمل آهن نہ وري دنيا جي عزت ۽ مادي ساز و سامان.

اهڙي حالت ۾ عقلمندي اها آهي تہ ماڻھو ڪجھ ڏينھن جي ڪاميابي جي مقابلي ۾ ابدي ڪاميابي کي ترجيح ڏي. هو دنيا جي تعمير جي بجاءِ آخرت جي تعمير جي فڪر ڪري.

وَ يَوْمَ يُنَادِيْهِمْ فَيَقُوْلُ اَيْنَ شُرَكَآءِيَ الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ۝٦٢ قَالَ الَّذِيْنَ حَقَّ عَلَيْهِمُ الْقَوْلُ رَبَّنَا هٰۤؤُلَآءِ الَّذِيْنَ اَغْوَيْنَا ۚ اَغْوَيْنٰهُمْ كَمَا غَوَيْنَا ۚ تَبَرَّاْنَاۤ اِلَيْكَ ؗ مَا كَانُوْۤا اِيَّانَا يَعْبُدُوْنَ۝٦٣

۽ جنھن ڏينھن الله تعاليٰ انھن کي سڏيندو، پوءِ چوندو تہ ڪٿي آهن منھنجا اُهي شريڪ جن کي اوهين (مون جھڙو) ڀانئيندا هئا. جن تي ڳالھ ثابت ٿي چڪي هوندي اهي چوندا تہ اي اسان جا رب! هي اهي ماڻھو آهن جن اسان کي گمراھ ڪيو. اسان انھن کي اهڙي طرح گمراھ ڪيو جھڙي طرح اسان خود گمراھ ٿياسون. اسان تنھنجي اڳيان انھن کان بيزار ٿيون ٿا. اهي ماڻھو اسان جي عبادت نہ ڪندا هئا. ٦٢-٦٣

---

هتي ”شريڪ“ مان مراد گمراھ ليڊر آهن، يعني اهي وڏا ماڻھو جن جي ڳالھ ماڻھو اهڙي طرح مڃي جھڙي طرح الله جي ڳالھ مڃڻ گھرجي. قيامت ۾ جڏهن انھن وڏن جو ساٿ ڏيڻ وارا ماڻھو پنھنجو برو انجام ڏسندا تہ سندن عجيب حال ٿيندو. اهي ڏسندا تہ جن وڏن سان وابستہ ٿيڻ تي اهي فخر ڪندا هئا، انھن وڏن انھن کي جھنم تائين پھچائي ڇڏيو. ان وقت اهي بيزار ٿي ڪري انھن کي چوندا تہ اسان جي بربادي جا ذميوار توهان آهيو. سندن وڏا جواب ڏيندا تہ توهان جي پنھنجي ذات کان سواءِ ڪير بہ توهان جي بربادي جو ذميوار نہ آهي، جيتوڻيڪ بظاهر توهان اسان جي چوڻ تي هليا، پر اسان جو ساٿ توهان ان ڪري ڏنو تہ اسان جي ڳالھ توهان جي خواهش مطابق هئي. توهان حقيقت ۾ پنھنجن خواهشن

جي پيروي ڪرڻ وارا هئا، نه وري اسان جي پيروي ڪرڻ وارا. اسان به پنهنجن خواهشن تي هلياسون ۽ توهان به پنهنجن خواهشن تي هليا. هاڻي ٻنهي کي ساڳيوئي انجام ڀوڳڻو آهي. هڪ ٻئي کي برو چوڻ جو ڪوبه فائدو نه آهي.

وَ قِيۡلَ ادۡعُوۡا شُرَكَآءَكُمۡ فَدَعَوۡهُمۡ فَلَمۡ يَسۡتَجِيۡبُوۡا لَهُمۡ وَ رَاَوُا الۡعَذَابَ ۚ لَوۡ اَنَّهُمۡ كَانُوۡا يَهۡتَدُوۡنَ ﴿٦٤﴾ وَ يَوۡمَ يُنَادِيۡهِمۡ فَيَقُوۡلُ مَا ذَاۤ اَجَبۡتُمُ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ﴿٦٥﴾ فَعَمِيَتۡ عَلَيۡهِمُ الۡاَنۡۢبَآءُ يَوۡمَئِذٍ فَهُمۡ لَا يَتَسَآءَلُوۡنَ ﴿٦٦﴾ فَاَمَّا مَنۡ تَابَ وَ اٰمَنَ وَ عَمِلَ صَالِحًا فَعَسٰۤى اَنۡ يَّكُوۡنَ مِنَ الۡمُفۡلِحِيۡنَ ﴿٦٧﴾

۽ چيو ويندو ته پنهنجي شريڪن کي سڏيو ته هو انهن کي سڏيندا، پوءِ اُهي کين ڪو جواب نه ڏيندا ۽ اُهي عذاب کي ڏسندا. ڪاش! اُهي هدايت اختيار ڪرڻ وارا هجن ها ۽ جنهن ڏينهن خدا کين سڏيندو ۽ فرمائيندو ته توهان پيغام پهچائڻ وارن کي ڪهڙو جواب ڏنو هو. پوءِ ان ڏينهن سيئي ڳالهيون کين ڀلجي وينديون، پوءِ هو پاڻ ۾ به ڪجي نه سگهندا، البته جنهن توبه ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا ته اميد آهي ته هو ڪاميابي پائڻ وارن مان ٿيندو. ٦٤-٦٧

---

دنيا ۾ ماڻهو جڏهن حق جو انڪار ڪندو آهي ته هو ڪنهن ڀروسي تي حق جو انڪار ڪندو آهي. آخرت ۾ چيو ويندو ته جن جي ڀروسي تي توهان حق کي نه مڃيو هو، اڄ کين سڏيو ته جيئن اهي توهان کي حق جي انڪار جي بري انجام کان بچائين. پر اهو خدا جي ظهور جو ڏينهن هوندو ۽ ڪير آهي جيڪو الله تعاليٰ جي مقابلي ۾ ڪنهن جي مدد ڪري سگهي.

دنيا ۾ ماڻهو ڪنهن حال ۾ مات نه ڪندو آهي. هر دليل کي رد ڪرڻ لاءِ ان کي هتي لفظ ملي ويندا آهن، پر اهي سيئي لفظ قيامت ۾ ڪوڙا لفظ ثابت ٿيندا. اتي ماڻهو افسوس ڪندو ته ڪيتري ننڍي شيءِ جي خاطر ان ڪيتري وڏي شيءِ کي وڃائي ڇڏيو.

وَ رَبُّكَ يَخۡلُقُ مَا يَشَآءُ وَ يَخۡتَارُ ؕ مَا كَانَ لَهُمُ الۡخِيَرَةُ ؕ سُبۡحٰنَ اللّٰهِ وَ تَعٰلٰى عَمَّا يُشۡرِكُوۡنَ ﴿٦٨﴾ وَ رَبُّكَ يَعۡلَمُ مَا تُكِنُّ صُدُوۡرُهُمۡ وَ مَا يُعۡلِنُوۡنَ ﴿٦٩﴾ وَ هُوَ اللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ لَهُ الۡحَمۡدُ فِى الۡاُوۡلٰى وَ الۡاٰخِرَةِ ۫ وَ لَهُ الۡحُكۡمُ وَ اِلَيۡهِ تُرۡجَعُوۡنَ ﴿٧٠﴾

۽ تنهنجو رب جيڪو چاهي ٿو سو پيدا ڪندو آهي ۽ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي پسند ڪري ٿو. انهن جي هٿ ۾ پسند ڪرڻ نه آهي. الله پاڪ ۽ برتر آهي ان کان جنهن کي اهي (سندس) شريڪ مقرر ڪندا آهن ۽ تنهنجو رب ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجھ سندن سينا لڪائيندا آهن ۽ جيڪو ڪجھ اُهي ظاهر ڪندا آهن ۽ اهو ئي الله آهي. ان کان سواءِ ڪو معبود نه آهي. ان ئي جي لاءِ ساراهه آهي دنيا ۾ ۽ آخرت ۾ ۽ سندس لاءِ فيصلو آهي ۽ ان ئي ڏانهن توهان موٽايا ويندا. ٦٨-٧٠

---

الله تعاليٰ انسانن کي پيدا ڪندو آهي، پوءِ انسانن مان ڪنهن ماڻهو کي هو ڪنهن خاص ڪم

لاءِ منتخب ڪندو آهي. اهو انتخاب ان جي ذاتي تقدس جي ڪري نہ هوندو آهي، بلڪ الله جي پنهنجي فيصلي تحت هوندو آهي. ان ڪري اهڙين شخصيتن کي مقدس مڃي انهن کي خدا جو درجو ڏيڻ سراسر بي بنياد آهي. الله تعاليٰ جي دنيا ۾ ان جي گنجائش نہ آهي.

ماڻهو حق جو انڪار ڪرڻ لاءِ زبان سان ڪجھ لفظ ڳالهائي ڇڏيندو آهي، پر ان جي دل ۾ ڪا بي ڳالھ هوندي آهي. هو ذاتي مصلحتن جي ڪري حق کي نہ ٿو مڃي ۽ لفظن جي ذريعي اهو ظاهر ڪندو آهي تہ هو دليل ۽ عقل جي ڪري ان جو انڪار ڪري رهيو آهي. آخرت ۾ اهو پردو باقي نہ رهندو، ان وقت واضح طورتي معلوم ٿي ويندو تہ ان جي دل ۾ ڪا بي ڳالھ هئي، پر پنهنجي وڏائي کي باقي رکڻ لاءِ هو ڪجھ بيا لفظ ڳالهائي ڇڏيندو هو.

قُلۡ اَرَءَيۡتُمۡ اِنۡ جَعَلَ اللّٰهُ عَلَيۡكُمُ الَّيۡلَ سَرۡمَدًا اِلٰى يَوۡمِ الۡقِيٰمَةِ مَنۡ اِلٰهٌ غَيۡرُ اللّٰهِ يَاۡتِيۡكُمۡ بِضِيَآءٍ ؕ اَفَلَا تَسۡمَعُوۡنَ ﴿۷۱﴾ قُلۡ اَرَءَيۡتُمۡ اِنۡ جَعَلَ اللّٰهُ عَلَيۡكُمُ النَّهَارَ سَرۡمَدًا اِلٰى يَوۡمِ الۡقِيٰمَةِ مَنۡ اِلٰهٌ غَيۡرُ اللّٰهِ يَاۡتِيۡكُمۡ بِلَيۡلٍ تَسۡكُنُوۡنَ فِيۡهِ ؕ اَفَلَا تُبۡصِرُوۡنَ ﴿۷۲﴾ وَ مِنۡ رَّحۡمَتِهٖ جَعَلَ لَكُمُ الَّيۡلَ وَ النَّهَارَ لِتَسۡكُنُوۡا فِيۡهِ وَلِتَبۡتَغُوۡا مِنۡ فَضۡلِهٖ وَلَعَلَّكُمۡ تَشۡكُرُوۡنَ ﴿۷۳﴾

چؤ تہ ٻڌايو جيڪڏهن الله قيامت جي ڏينهن تائين توهان تي هميشہ لاءِ رات ڪري ڇڏي تہ الله کان سواءِ ڪهڙو معبود آهي جيڪو توهان لاءِ روشني آڻي، پوءِ ڇا توهان ٻڌو نہ ٿا. چؤ تہ ٻڌايو جيڪڏهن الله قيامت تائين توهان تي هميشہ لاءِ ڏينهن ڪري ڇڏي تہ الله کان سواءِ ڪهڙو معبود آهي جيڪو توهان لاءِ رات کي آڻي، جنهن ۾ توهان سڪون حاصل ڪندا آهيو. ڇا توهان ڏسو نہ ٿا ۽ ان پنهنجي رحمت سان توهان لاءِ رات ۽ ڏينهن کي بڻايو، تہ جيئن توهان ان ۾ سڪون حاصل ڪريو ۽ تہ جيئن توهان ان جو فضل تلاش ڪريو، تہ جيئن توهان شڪر ڪريو. ٧١-٧٣

---

جنهن زمين تي انسان آباد آهي، ان جي بيشمار حيرت انگز پهلوئن مان هڪ حيرت انگيز پهلو اهو آهي تہ زمين مسلسل سج جي چؤطرف ڦري رهي آهي. سج جي چؤطرف ان جي گردش اهڙي طرح ٿيندي آهي جو هر چوويھ ڪلاڪن ۾ ان جو هڪ چڪر پورو ٿي ويندو آهي. اهوئي سبب آهي تہ ان تي بار بار رات ۽ ڏينهن ايندا رهندا آهن. جيڪڏهن زمين جي اها محوري گردش نہ هجي تہ زمين جي هڪ حصي تي مستقل رات هوندي ۽ ٻئي حصي تي مستقل ڏينهن. ان جو نتيجو اهو نڪرندو جو راحت واري زمين انسان لاءِ هڪ ناقابل بيان عذاب خانو بڻجي ويندي.

خلا ۾ زمين جو اهڙي طريقي سان مسلسل گردش ڪرڻ ايترو تہ وڏو واقعو آهي جو ان واقعي کي ظهور ۾ آڻڻ لاءِ سيني جنن ۽ انسانن جون طاقتون بہ ناڪافي آهن. قادر مطلق الله تعاليٰ کان سواءِ ڪوبہ نہ آهي، جيڪو ايتري وڏي واقعي کي ظهور ۾ آڻي سگهي. اهڙي حالت ۾ اها ايتري وڏي گمراهي آهي جو انسان پنهنجي خوف ۽ محبت جي جذبن کي هڪ الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي سان وابستہ ڪري.

وَ يَوۡمَ يُنَادِيۡهِمۡ فَيَقُوۡلُ اَيۡنَ شُرَكَآءِىَ الَّذِيۡنَ كُنۡتُمۡ تَزۡعُمُوۡنَ ﴿۷۴﴾ وَ نَزَعۡنَا مِنۡ كُلِّ

اُمَّةٍ شَهِيْدًا فَقُلْنَا هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ فَعَلِمُوْٓا اَنَّ الْحَقَّ لِلّٰهِ وَ ضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا

ع ۷ ۱۵ ۱۰ يَفْتَرُوْنَ ﴿۷۵﴾

۽ جنھن ڏينھن الله انھن کي سڏيندو، پوءِ چوندو تہ ڪٿي آھن منھنجا شريڪ جن کي اوھين (مون جھڙو) پائيندا ھئا ۽ اسان ھر امت مان ھڪ شاھد آڻينداسون، پوءِ ماڻھن کي چونداسون تہ پنھنجو دليل آڻيو. تڏھن ھو ڄاڻي وٺندا تہ حق الله جي پاسي آھي ۽ جيڪي ٺاھ ٺاھيندا ھئا سي ڪائنئن گم ٿي ويندا. ۷۴-۷۵

---

پيغمبر ۽ پيغمبر جي سچي پيروي ڪرڻ وارا داعي قيامت ۾ الله جا گواھ بڻائي پيش ڪيا ويندا. جن قومن تي انھن خدا جو پيغام پھچائڻ جو فرض انجام ڏنو ھو، انھن جي باري ۾ اھي ان ڏينھن ٻڌائيندا تہ پيغام کي ٻڌي انھن قومن ڪھڙي قسم جو ردعمل پيش ڪيو. ان ڏينھن انھن ماڻھن جا سيئي آسرا ختم ٿي ويندا، جن غيرالله تي اعتماد ڪندي انھن حق جي دعوت کي نظرانداز ڪيو ھو. ان ڏينھن سندن حال اھو ٿيندو جو ھو پنھنجي صفائي پيش ڪرڻ چاھيندا، پر اھي پنھنجي صفائي لاءِ لفظ نہ لھندا.

اِنَّ قَارُوْنَ كَانَ مِنْ قَوْمِ مُوْسٰى فَبَغٰى عَلَيْهِمْ ۪ وَ اٰتَيْنٰهُ مِنَ الْكُنُوْزِ مَآ اِنَّ مَفَاتِحَهٗ لَتَنُوْٓاُ بِالْعُصْبَةِ اُولِي الْقُوَّةِ ۗ اِذْ قَالَ لَهٗ قَوْمُهٗ لَا تَفْرَحْ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْفَرِحِيْنَ ﴿۷۶﴾ وَ ابْتَغِ فِيْمَآ اٰتٰىكَ اللّٰهُ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ وَ لَا تَنْسَ نَصِيْبَكَ مِنَ الدُّنْيَا وَ اَحْسِنْ كَمَآ اَحْسَنَ اللّٰهُ اِلَيْكَ وَ لَا تَبْغِ الْفَسَادَ فِي الْاَرْضِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿۷۷﴾

قارون موسيٰ جي قوم مان ھو. پوءِ اُھو انھن جي خلاف باغي ٿي بيٺو ۽ اسان ان کي ايترا خزانا ڏنا ھئا جو سندس ڪنجيون ڪڻڻ سان ڪيترائي سگھا مرد ٿڪي پوندا ھئا. جڏھن سندس قوم کيس چيو تہ ايترو فخر نہ ڪر، الله فخر ڪندڙن کي پسند نہ ٿو ڪري ۽ جيڪو ڪجھ الله توکي ڏنو آھي ان سان آخرت جو طالب ٿيءُ ۽ دنيا ۾ پنھنجي حصي کي نہ وسار ۽ ماڻھن سان چڱائي ڪر جھڙي طرح الله توسان چڱائي ڪئي آھي ۽ زمين ۾ فساد جو طالب نہ ٿي. الله فساد ڪرڻ وارن کي پسند نہ ٿو ڪري. ۷۶-۷۷

---

قارون جو نالو يھودي ڪتابن ۾ قورح (Korah) آيو آھي، ھو بني اسرائيل جو ھڪ فرد ھو، پر ھو پنھنجن ڪان ڪٽجي فرعون جو وفادار بڻجي ويو. ان جي ھن کي اھا قيمت ملي جو ھو فرعون جو مقرب بڻجي ويو. ھن پنھنجن دنياداراڻين صلاحيتن ذريعي ايترو ڪمايو جو ھو مصر جو سيني ڪان وڏيڪ دولت مند شخص بڻجي ويو. دولت حاصل ڪري ان جي اندر شڪر جو جذبو پيدا ٿيڻ ڪپي ھا، پر دولت ان جي اندر فخر جو جذبو پيدا ڪيو. پنھنجي معاشي وسيلن سان ان کي جيڪا نيڪي ڪمائڻي ھئي اھا نيڪي ان نہ ڪمائي.

زمين ۾ فساد ڪرڻ چا آھي. ھن آيت (۷۷) جي مطابق زمين ۾ فساد برپا ڪرڻ جي ھڪ صورت اھا آھي تہ ھڪ ماڻھو کي وڏيڪ دولت ملي تہ ھو ان کي رڳو پنھنجي ذات لاءِ خرچ ڪري. سمنڊ ۾ زمين جو پاڻي اچي جمع ٿيندو آھي تہ سمنڊ پاڻي کي ٻاڦ جي شڪل ۾ اڏائي پيھر ان کي سڄي زمين تي مينھن ذريعي ڦھلائي ڇڏيندو آھي. اھو خدا جي دنيا ۾ اصلاح جو نمونو آھي. اھا شيءِ انسان کان بہ اھڙي طرح

گهربل آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن سبب جي ڪري هڪ ماڻهو وٽ گهڻي دولت جمع ٿي وڃي تہ ان کي گهرجي تہ هو ان کي مختلف طريقن سان انهن ماڻهن ڏانهن موٽائي جن کي معاشي تقسيم ۾ گهٽ حصو مليو آهي. چڻ جمع ٿيل دولت کي گردش ۾ آڻڻ اصلاح آهي ۽ جمع ٿيل دولت کي جمع رکڻ فساد آهي.

قَالَ اِنَّمَآ اُوْتِيْتُهٗ عَلٰى عِلْمٍ عِنْدِىْ ؕ اَوَ لَمْ يَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ قَدْ اَهْلَكَ مِنْ قَبْلِهٖ مِنَ الْقُرُوْنِ مَنْ هُوَ اَشَدُّ مِنْهُ قُوَّةً وَّ اَكْثَرُ جَمْعًا ؕ وَ لَا يُسْـَٔلُ عَنْ ذُنُوْبِهِمُ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿۷۸﴾

هن چيو اهو مال مون کي هڪ علم جي ڪري مليو آهي جيڪو مون وٽ آهي. ڇا ان نہ ڄاتو تہ الله ان کان اڳ ڪيترين جماعتن کي هلاڪ ڪري چڪو آهي جيڪي ان کان وڌيڪ قوت ۽ جمعيت واريون هيون ۽ ڏوهارين کان سندن ڏوهن بابت نہ پڇيو ويندو. ٧٨

---

قارون جو جيڪو ڪردار هتي بيان ٿيو آهي، اهوئي هميشہ دولت وارن جو ڪردار رهيو آهي دولتمند ماڻهو سمجهي ٿو تہ ان کي جيڪو ڪجهہ مليو آهي، اهو ان جي علم جي بدولت مليو آهي، پر ڪنهن دولت مند جو علم ان کي اهو نہ ٿو ٻڌائي تہ توکان اڳ ۾ گهڻن ئي ماڻهن کي دولت ملي، پر سندن دولت انهن کي موت يا هلاڪت کان نہ بچائي سگهي. پوءِ توکي اها ڪهڙي طرح بچائڻ واري ثابت ٿيندي.

فَخَرَجَ عَلٰى قَوْمِهٖ فِىْ زِيْنَتِهٖ ؕ قَالَ الَّذِيْنَ يُرِيْدُوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا يٰلَيْتَ لَنَا مِثْلَ مَآ اُوْتِىَ قَارُوْنُ ۙ اِنَّهٗ لَذُوْ حَظٍّ عَظِيْمٍ ﴿۷۹﴾ وَ قَالَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ وَيْلَكُمْ ثَوَابُ اللّٰهِ خَيْرٌ لِّمَنْ اٰمَنَ وَ عَمِلَ صَالِحًا ۚ وَ لَا يُلَقّٰىهَآ اِلَّا الصّٰبِرُوْنَ ﴿۸۰﴾

پوءِ هو پنهنجي قوم جي سامهون پنهنجي پوري سينگار سان نڪتو. جيڪي ماڻهو دنيا جي زندگي جا طالب هئا، انهن چيو ڪاش! اسان کي بہ اهوئي ملي ها جيڪي قارون کي ڏنو ويو. بيشڪ هو وڏي قسمت وارو آهي ۽ جن ماڻهن کي علم مليو هو انهن چيو توهان لاءِ خرابي هجي الله جو ثواب بهتر آهي ان ماڻهو لاءِ جيڪو ايمان آڻي ۽ نيڪ عمل ڪري ۽ اهو انهن کي ملندو آهي جيڪي صبر ڪرڻ وارا آهن. ٧٩-٨٠

---

جنهن ماڻهو وٽ دولت هجي تہ ان جي چؤطرف لازمي طور تي دنيا جي رونق جمع ٿي ويندي آهي. ان کي ڏسي گهڻائي نادان ماڻهو ان تي رشڪ ڪرڻ لڳندا آهن، پر جن ماڻهن کي حقيقت جو علم حاصل ٿي وڃي تہ انهن کي اهو سمجهڻ ۾ دير نہ ٿي لڳي تہ اها رڳو ڪجهہ ڏينهن جي رونق آهي ۽ جيڪا شيءِ ڪجهہ ڏينهن لاءِ هجي ان جي ڪا قيمت نہ آهي.

حقيقت جو علم هن دنيا ۾ سڀني کان وڌيڪ قيمتي شيءِ آهي. پر حقيقت جي علم جو مالڪ بڻجڻ لاءِ صبر جي صلاحيت درڪار هوندي آهي. يعني ٻاهرين حالتن جو دٻاءُ قبول نہ ڪندي پنهنجو ذهن ناهڻ، ظاهري شين کان متاثر ٿيڻ کان سواءِ سوچڻ، وقتي خواهشن کي نظرانداز ڪندي راءِ قائم ڪرڻ. اهو بيشڪ صبر جو سڀني کان سخت مشڪل قسم آهي، پر ان ئي مشڪل امتحان ۾ پورو لهڻ کان پوءِ ماڻهو کي اها شيءِ ملندي آهي جنهن کي علم ۽ حڪمت چيو ويندو آهي.

فَخَسَفْنَا بِهٖ وَ بِدَارِهِ الْاَرْضَ ۟ فَمَا كَانَ لَهٗ مِنْ فِئَةٍ يَّنْصُرُوْنَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۗ وَ مَا كَانَ
مِنَ الْمُنْتَصِرِيْنَ ﴿۸۱﴾ وَ اَصْبَحَ الَّذِيْنَ تَمَنَّوْا مَكَانَهٗ بِالْاَمْسِ يَقُوْلُوْنَ وَيْكَاَنَّ اللّٰهَ يَبْسُطُ
الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ وَ يَقْدِرُ ۚ لَوْ لَاۤ اَنْ مَّنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا لَخَسَفَ بِنَا ؕ وَيْكَاَنَّهٗ لَا
ع ۱۱ يُفْلِحُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿۸۲﴾

پوءِ اسان ان کي ۽ ان جي گهر کي زمين ۾ ڳهايوسون. پوءِ ان لاءِ ڪا جماعت نہ هئي جيڪا الله جي مقابلي ۾ ان جي مدد ڪري ۽ نہ هو خود ئي پاڻ کي بچائي سگهيو ۽ جيڪي ماڻهو ڪالهہ ان جهڙو هئڻ جي تمنا ڪري رهيا هئا، اهي چوڻ لڳا تہ افسوس بيشڪ الله پنهنجن ٻانهن مان جنهن لاءِ چاهي ٿو رزق ڪشادو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ جنهن لاءِ چاهي ٿو تنگ ڪري ڇڏيندو آهي. جيڪڏهن الله اسان تي احسان نہ ڪيو هجي ها تہ اسان کي بہ زمين ۾ ڳهائي ڇڏي ها، افسوس! بيشڪ انڪار ڪرڻ وارا ڪامياب نہ ٿيندا. ٨١-٨٢

---

بائيبل جي بيان مطابق حضرت موسيٰ عليہ السلام قارون جي برن عملن جي ڪري ان لاءِ بددعا ڪئي ۽ اهو پنهنجن ساٿين ۽ خزاني سان گڏ زمين ۾ ڳهايو ويو. اهو الله طرفان مشاهدي جي سطح تي ڏيکاريو ويو تہ خدا پرستي کي ڇڏي دولت پرستي اختيار ڪرڻ جو آخري انجام ڇا ٿيندو آهي.

دنيا جو رزق اصل ۾ امتحان جو سامان آهي، اهو هر ماڻهو کي خدا جي فيصلي تحت گهٽ يا وڌيڪ ڏنو ويندو آهي. ماڻهو کي گهرجي تہ رزق گهٽ ملي تہ صبر ڪري ۽ جيڪڏهن رزق وڌيڪ ملي تہ شڪر ڪري. اهوئي ڪنهن انسان لاءِ نجات ۽ ڪاميابي جو واحد رستو آهي.

تِلْكَ الدَّارُ الْاٰخِرَةُ نَجْعَلُهَا لِلَّذِيْنَ لَا يُرِيْدُوْنَ عُلُوًّا فِى الْاَرْضِ وَ لَا فَسَادًا ؕ وَ
الْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿۸۳﴾ مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ خَيْرٌ مِّنْهَا ۚ وَ مَنْ جَآءَ بِالسَّيِّئَةِ فَلَا
يُجْزَى الَّذِيْنَ عَمِلُوا السَّيِّاٰتِ اِلَّا مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۸۴﴾

اهو آخرت جو گهر اسان انهن ماڻهن کي ڏينداسون جيڪي زمين ۾ نہ وڏو ٿيڻ چاهين ٿا ۽ نہ فساد ڪرڻ ۽ آخري انجام ڊڄڻ وارن لاءِ آهي. جيڪو ماڻهو نيڪي کڻي ايندو ان لاءِ ان کان بهتر آهي ۽ جيڪو ماڻهو برائي کڻي ايندو تہ جيڪي ماڻهو برائي ڪندا آهن انهن کي اهوئي ملندو جيڪو انهن ڪيو ٨٣-٨٤.

---

جنت جي آبادي ۾ رهڻ جي قابل اُهي ماڻهو آهن جن جا سينا پنهنجي وڏائي جي احساس کان خالي هجن، جيڪي الله تعاليٰ جي وڏائي کي اهڙي طرح لهن جو پاڻ لاءِ نندائي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نظر نہ اچي.

فساد اهو آهي تہ ماڻهو خدا جي منصوبي سان موافقت نہ ڪري، هو الله تعاليٰ جي دنيا ۾ خدا جي مرضي جي خلاف هلڻ لڳي. جيڪي ماڻهو تڪبر کان خالي ٿي وڃن، اهي لازمي طورتي فساد کان بہ خالي ٿي ويندا آهن ۽ جن ماڻهن ۾ اهي اعليٰ صفتون پيدا ٿي وڃن اهي ئي اهي ماڻهو آهن جيڪي خدا جي ابدي باغن ۾ آباد ڪيا ويندا.

اِنَّ الَّذِيْ فَرَضَ عَلَيْكَ الْقُرْاٰنَ لَرَآدُّكَ اِلٰى مَعَادٍ ؕ قُلْ رَّبِّيْٓ اَعْلَمُ مَنْ جَآءَ بِالْهُدٰى وَ
مَنْ هُوَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٨٥﴾ وَ مَا كُنْتَ تَرْجُوْٓا اَنْ يُّلْقٰٓى اِلَيْكَ الْكِتٰبُ اِلَّا رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ
فَلَا تَكُوْنَنَّ ظَهِيْرًا لِّلْكٰفِرِيْنَ ﴿٨٦﴾ وَ لَا يَصُدُّنَّكَ عَنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ بَعْدَ اِذْ اُنْزِلَتْ اِلَيْكَ وَ
وقف لازم اُدْعُ اِلٰى رَبِّكَ وَ لَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿٨٧﴾ وَ لَا تَدْعُ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ ۘ لَآ اِلٰهَ اِلَّا
النصف ع ٩ ١٢ هُوَ ۟ قف كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ اِلَّا وَجْهَهٗ ؕ لَهُ الْحُكْمُ وَ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٨٨﴾ ع

بيشڪ جنهن توتي قرآن کي فرض ڪيو آهي. اهو توکي هڪ سٺي انجام تائين پهچائي رهندو، چئُ ته منهنجو رب چڱي طرح ڄاڻي ٿو ته ڪير هدايت ڪٺي آيو آهي ۽ ڪير پڌري گمراهي ۾ آهي ۽ توکي اها اميد نه هئي ته توتي ڪتاب نازل ڪئي ويندي، پر تنهنجي رب جي مهرباني سان پوءِ تون منڪرن جو مددگار نه ٿيءُ ۽ اهي توکي الله جي آيتن کان روڪي نه ڇڏين. جڏهن ته اهي توڏانهن نازل ٿي چڪيون آهن، ۽ تون پنهنجي رب ڏانهن سڏ ۽ مشرڪن مان نه ٿجانءِ. ۽ الله سان گڏ ڪنهن ٻئي معبود کي نه سڏ. ان کان سواءِ ڪو معبود نه آهي. هر شيءِ فنا ٿيڻ واري آهي، سواءِ ان جي ذات جي. فيصلو ان ئي لاءِ آهي ۽ توهان سڀ ان ئي ڏانهن موٽايا ويندو. ٨٥-٨٨

---

پيغمبر جو معاملو هر لحاظ کان خدائي معاملو هوندو آهي. ان کي پيغمبري ڪنهن طلب جي بغير خدا طرفان ڏني ويندي آهي. هو پنهنجي پوري وجود سان حق تي قائم هوندو آهي. هن کي حڪم ٿيل هوندو آهي ته خالص ۽ بغير ڪنهن ملاوٽ جي صداقت جو اعلان ڪري، چاهي ماڻهن کي ڪيترو ئي برو لڳي. ان لاءِ مقدر هوندو آهي ته هو لازمي طور پنهنجي گهربل منزل تائين پهچي ۽ ڪا رڪاوٽ ان لاءِ رڪاوٽ نه بڻجي سگهي.

اهوئي معاملو پيغمبر کان پوءِ پيغمبر جي پيروي ڪرڻ واري داعي جو هوندو آهي. هو جنهن حدتائين پيغمبر جي پيروي ڪندو، اوترو هو خدا جي انهن واعدن جو مستحق ٿيندو ويندو، جيڪي ان پنهنجي پيغمبرن سان پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيا آهن.

اٰيَاتُهَا ٦٩ (٢٩) سُوْرَةُ الْعَنْكَبُوْتِ مَكِّيَّةٌ (٨٥) رُكُوْعُهَا ٧

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الٓمّٓ ﴿١﴾ اَحَسِبَ النَّاسُ اَنْ يُّتْرَكُوْٓا اَنْ يَّقُوْلُوْٓا اٰمَنَّا وَ هُمْ لَا يُفْتَنُوْنَ ﴿٢﴾ وَ لَقَدْ فَتَنَّا
الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَلَيَعْلَمَنَّ اللّٰهُ الَّذِيْنَ صَدَقُوْا وَ لَيَعْلَمَنَّ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٣﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

الف لام ميم. ڇا ماڻهو اهو سمجهن ٿا ته اُهي رڳو اهو چوڻ سان ڇڏي ڏبا ته اسان ايمان آندوسون ۽ انهن کي آزمايو نه ويندو ۽ اسان انهن ماڻهن کي آزمايو آهي جيڪي انهن کان اڳ ۾ هئا. پوءِ الله انهن ماڻهن کي معلوم ڪري رهندو جيڪي سچا آهن ۽ هو ڪوڙن کي به ضرور معلوم ڪري رهندو. ١-٣

---

ماڻهو جي مؤمن ۽ مسلم هئڻ جو فيصلو عام حالتن ۾ ڪيل عملن تي نہ ٿيندو آهي، بلڪ ان عمل تي ٿيندو آهي. جيڪو ماڻهو غيرمعمولي حالتن ۾ ڪندو آهي، اهي غيرمعمولي حالتون اهي موقعا آهن، جڏهن تہ اهو واضح ٿي ويندو آهي تہ ماڻهو حقيقت ۾ اهو آهي يا نہ، جنهن جي دعويٰ هو پنهنجي ظاهري عمل سان ڪري رهيو آهي. جيڪي ماڻهو غيرمعمولي حالتن ۾ ايمان ۽ اسلام تي قائم رهڻ جو ثبوت ڏين، اهي ئي خدا وٽ حقيقي معنيٰ ۾ مؤمن ۽ مسلم قرار ڏنا ويندا آهن.

آزمائش ۾ پورو لهڻ ٻين لفظن ۾ قرباني جي سطح تي ايمان ۽ اسلام وارو بڻجڻ آهي، يعني جڏهن عام ماڻهو انڪار ڪري ڇڏيندا آهن ان وقت تصديق ڪرڻ، جڏهن ماڻهو شڪ ڪندا آهن، ان وقت يقين ڪرڻ. جڏهن پنهنجي انا کي مارڻ جي قيمت تي مؤمن بڻجڻ هجي تہ ان وقت مؤمن بڻجڻ، جڏهن نہ مڃڻ ۾ فائدو هجي ان وقت مڃي وڃڻ، جڏهن مال بچائڻ جي تقاضا هجي، ان وقت خرچ ڪرڻ، جڏهن فرار ٿيڻ واريون حالتون هجن تہ ان وقت ثابت قدمي جو ثبوت ڏيڻ. جڏهن خود کي بچائڻ جو وقت هجي تہ ان وقت خود کي حوالي ڪري ڇڏڻ، جڏهن سرڪشي جو موقعو هجي تہ ان وقت مڃي جهڪي وڃڻ. جڏهن سڀ ڪجهہ لُٽائي ساٿ ڏيڻو پوي تہ ان وقت ساٿ ڏيڻ. اهڙن غيرمعمولي موقعن تي اندر وارو انسان ظاهر ٿي پوندو آهي. ان کان پوءِ ڪنهن لاءِ اهو موقعو نہ ٿو رهي جو هو فرضي لفظ ڳالهائي پاڻ کي اهو ظاهر ڪري جيڪو حقيقت ۾ اهو نہ آهي.

اَمْ حَسِبَ الَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ السَّيِّاٰتِ اَنْ يَّسْبِقُوْنَا ؕ سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ۝٤ مَنْ كَانَ
يَرْجُوْا لِقَآءَ اللّٰهِ فَاِنَّ اَجَلَ اللّٰهِ لَاٰتٍ ؕ وَ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ۝٥ وَ مَنْ جَاهَدَ فَاِنَّمَا
يُجَاهِدُ لِنَفْسِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَغَنِيٌّ عَنِ الْعٰلَمِيْنَ ۝٦ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ
لَنُكَفِّرَنَّ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَ لَنَجْزِيَنَّهُمْ اَحْسَنَ الَّذِيْ كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝٧

ڇا جيڪي ماڻهو برايون ڪري رهيا آهن، اُهي سمجهن ٿا تہ هو اسان کان بچي ويندا. تمام برو فيصلو آهي جيڪو هو ڪري رهيا آهن. جيڪو ماڻهو الله سان ملڻ جي اميد رکي ٿو تہ الله جو واعدو ضرور اچڻ وارو آهي ۽ اهو ٻڌڻ وارو آهي، ڄاڻڻ وارو آهي ۽ جيڪو ماڻهو ڪوشش ڪري ٿو هو پنهنجي لاءِ ئي ڪوشش ڪري ٿو بيشڪ الله جهانن کان بي نياز آهي ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن نيڪ ڪم ڪيا تہ اسان سندن براين کي انهن کان پري ڪري ڇڏينداسون ۽ انهن کي سندن عمل جو ڏاڍو چڱو بدلو ڏينداسون. ٤-٧

---

مؤمن بڻجڻ اڪثر حالتن ۾ زماني جي خلاف هلڻ جو نالو آهي. اها بزرگ پرستي جي ماحول ۾ خدا پرست بڻجڻ آهي، خواهش کي اوچو مقام ڏيڻ جي ماحول ۾ اصول کي اوچو مقام ڏيڻ آهي. دنياوي مفاد لاءِ جيئڻ جي ماحول ۾ آخرت جي مفاد لاءِ جيئڻ جو حوصلو ڪرڻ آهي.

اهڙي طرح جي زندگي لاءِ سخت مجاهدي جي ضرورت آهي ۽ ان سخت مجاهدي تي اهي ئي ماڻهو قائم رهي سگهن ٿا، جيڪي خدا تي ڪامل يقين رکندا هجن. جيڪي خدا طرفان ملڻ واري انعام کي پنهنجن اميدن جو اصل مرڪز بڻائي ويٺا هجن.

وَ وَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ حُسْنًا ؕ وَ اِنْ جَاهَدٰكَ لِتُشْرِكَ بِيْ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ
فَلَا تُطِعْهُمَا ؕ اِلَيَّ مَرْجِعُكُمْ فَاُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۸﴾ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا
الصّٰلِحٰتِ لَنُدْخِلَنَّهُمْ فِي الصّٰلِحِيْنَ ﴿۹﴾

۽ اسان انسان کي حڪم ڪيو تہ هو پنهنجي ماءُ پيءُ سان نيڪ سلوڪ ڪري ۽ جيڪڏهن اُهي توتي زور وجهن تہ تون اهڙي شيءِ کي منهنجو شريڪ بڻائي جنهن جو توکي ڪو علم نہ آهي تہ انهن جي اطاعت نہ ڪر. توهان سيني کي مون وٽ موٽي اچڻو آهي. پوءِ آئون توهان کي ٻڌائيندس جيڪو توهان ڪندا هئا ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن نيڪ ڪم ڪيا تہ اسان انهن کي نيڪ ٻانهن ۾ داخل ڪنداسون. ۸-۹

---

انسان تي سڀ کان وڌيڪ جنهن جو حق آهي، اُهي ان جا ماءُ پيءُ آهن. پر هر شيءِ جي هڪ حد هوندي آهي. اهڙي طرح ماءُ پيءُ جي حقن جي بہ هڪ حد آهي ۽ حديث جي لفظن ۾ اها حد اها آهي تہ خالق جي نافرماني ۾ ڪنهن مخلوق جي اطاعت نہ آهي (لاطاعة لمخلوق في معصية الخالق).

ماءُ پيءُ جا حق ان وقت تائين لحاظ جي قابل آهن جيستائين اهي خدا جي حقن سان نہ ٽڪرائين. ماءُ پيءُ جو حڪم جڏهن خدا جي حڪم سان ٽڪرائڻ لڳي تہ ان وقت ماءُ پيءُ جو حڪم نہ مڃڻ اوترو ئي ضروري ٿي ويندو جيترو عام حالتن ۾ ماءُ پيءُ جو حڪم مڃڻ ضروري هوندو آهي اسلام ۾ ماءُ پيءُ جي حقن مان مراد ماءُ پيءُ جي خدمت آهي نہ وري ماءُ پيءُ جي عبادت.

وَ مِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ فَاِذَاۤ اُوْذِيَ فِي اللّٰهِ جَعَلَ فِتْنَةَ النَّاسِ كَعَذَابِ اللّٰهِ ؕ
وَ لَئِنْ جَآءَ نَصْرٌ مِّنْ رَّبِّكَ لَيَقُوْلُنَّ اِنَّا كُنَّا مَعَكُمْ ؕ اَوَ لَيْسَ اللّٰهُ بِاَعْلَمَ بِمَا فِيْ صُدُوْرِ
الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۰﴾ وَ لَيَعْلَمَنَّ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ لَيَعْلَمَنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ ﴿۱۱﴾

۽ ماڻهن مان ڪي اهڙا آهن جيڪي چون ٿا تہ اسان الله تي ايمان آندو پوءِ جڏهن الله جي راهہ ۾ ان کي ستايو وڃي ٿو تہ هو ماڻهن جي ستائڻ کي الله جي عذاب وانگر سمجهي وٺي ٿو ۽ جيڪڏهن تنهنجي رب طرفان ڪا مدد اچي وڃي تہ هو چوندا تہ اسان تہ توهان سان گڏ هئاسون ڇا الله ان کان چڱي طرح باخبر نہ آهي جيڪو ماڻهن جي دلين ۾ آهي ۽ الله ضرور معلوم ڪندو انهن ماڻهن کي جن ايمان آندو ۽ هو ضرور معلوم ڪندو منافقن کي. ۱۰-۱۱

---

هڪ ماڻهو پاڻ کي مؤمن چوي پر ان جو حال اهو هجي تہ جڏهن مؤمن بڻجڻ ۾ فائدو هجي تہ هو وڌ ۾ وڌ پنهنجي مؤمن هجڻ جو اظهار ڪري، پر جڏهن مؤمن بڻجڻ ۾ دنيا جو نقصان نظر اچي تہ هو فوراً واپس مڙي وڃي. اهڙو ماڻهو قرآن جي اصطلاح ۾ منافق آهي، اهي اُهي ماڻهو آهن جيڪي بظاهر مؤمن هئا، پر جڏهن اهي پنهنجي ايمان جي قيمت ڏيڻ لاءِ راضي نہ ٿيا تہ عين ان ئي مقام تي اهي ناڪام ٿي ويا، جتي انهن کي سيني کان وڌيڪ ڪاميابي جو ثبوت ڏيڻ کپندو هو.

وَ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّبِعُوْا سَبِيْلَنَا وَ لْنَحْمِلْ خَطٰيٰكُمْ ؕ وَ مَا هُمْ

بِحٰمِلِيْنَ مِنْ خَطٰيٰهُمْ مِّنْ شَيْءٍ ؕ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿۱۲﴾ وَ لَيَحْمِلُنَّ اَثْقَالَهُمْ وَ اَثْقَالًا مَّعَ
اَثْقَالِهِمْ ٝ وَ لَيُسْـَٔلُنَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ عَمَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿۱۳﴾ ع ۱۳

۽ منڪر ماڻهو ايمان وارن کي چوندا آهن تہ توهان اسان جي رستي تي هلو ۽ اسان توهان جي گناهن کي ڪٽنداسون ۽ اهي انهن جي گناهن مان ڪجھ بہ ڪٽڻ وارا نہ آهن. بيشڪ اهي ڪوڙا آهن ۽ اُهي پنهنجا بار ڪٽندا ۽ پنهنجي بار سان گڏ ڪجھ ٻيا بار بہ ۽ اهي ماڻهو جيڪي ڪوڙيون ڳالهيون ٺاهيندا آهن، قيامت جي ڏينهن ان بابت انهن کان پڇا ٿيندي. ١٢-١٣

---

افترا (ڪوڙ گهڙڻ) اهو آهي تہ ماڻهو خود هڪ ڳالھ ٺاهي ۽ ان کي خدا ڏانهن منسوب ڪري ڇڏي. هر قسم جون بدعتون ۽ غلط تعبيرون ان ۾ داخل آهن. ان افترا جي هڪ صورت اها آهي تہ انڪار ڪرڻ وارا اڳواڻ پنهنجن ننڍن کي اهو چون تہ توهان اسان جي رستي تي هلندا رهو، جيڪڏهن خدا وٽ ان تي پڇا ڪئي وئي تہ اسان ان جا ذميوار آهيون. خدا ڪنهن کي اهڙي قسم جو حق نہ ڏنو آهي. ان ڪري اهڙي ڳالھ چوڻ خدا تي ڪوڙ گهڙڻ آهي.

ماڻهو ڪيترين ئي ڳالهين رڳو چوڻ خاطر چئي ڏيندو آهي، جيڪڏهن هو ان جي انجام کي ڏسي وٺي تہ هو ڪڏهن بہ اهڙا لفظ پنهنجي منهن مان نہ ڪڍي. تنهن ڪري اهي ماڻهو جڏهن قيامت جي سختي کي ڏسندا تہ ان وقت سندن حال ان کان بلڪل مختلف هوندو، جيڪو اڄ جي دنيا ۾ انهن جو نظر اچي رهيو آهي.

وَ لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ فَلَبِثَ فِيْهِمْ اَلْفَ سَنَةٍ اِلَّا خَمْسِيْنَ عَامًا ؕ فَاَخَذَهُمُ
الطُّوْفَانُ وَ هُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿۱۴﴾ فَاَنْجَيْنٰهُ وَ اَصْحٰبَ السَّفِيْنَةِ وَ جَعَلْنٰهَاۤ اٰيَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۵﴾

۽ اسان نوح کي ان جي قوم ڏانهن موڪليو تہ هو انهن ۾ پنجاهہ سال گهٽ (هڪ) هزار سال رهيو، پوءِ انهن کي طوفان پڪڙي ورتو ۽ اهي ظالم هئا. پوءِ اسان نوح کي ۽ ٻيڙي وارن کي بچائي ورتو ۽ اسان ان واقعي کي دنيا وارن لاءِ هڪ نشاني بڻائي ڇڏيو. ١٤-١٥

---

حضرت نوح عليه السلام جي عمر ساڍا نو سؤ سال هئي. نبوت کان اڳ ۾ بہ پاڻ عليه السلام هڪ صالح انسان هئا ۽ آدم عليه السلام جي شريعت تي قائم هئا. نبوت ملڻ کان پوءِ پاڻ باقاعده خدا جا داعي بڻجي پنهنجي قوم کي ڊيڄاريندا رهيا، پر سون سالن جي محنت جي باوجود قوم نہ مڃيو. آخرڪار ڪجھ اصلاح يافتہ ماڻهن کي ڇڏي سڄي قوم هڪ عظيم طوفان ۾ غرق ڪئي وئي.

ترڪي ۽ روس جي سرحد تي اوڀر اناطوليہ جي جابلو سلسلي ۾ هڪ بلند چوٽي آهي. جنهن کي ارارات (Ararat) چيو ويندو آهي. ان جي بلندي پنج هزار ميٽر کان وڌيڪ آهي. ان جبل جي مٿان اڏامندڙ جهاز وارن جو بيان آهي تہ انهن ارارات جي برف کان ڍڪيل چوٽي تي هڪ ٻيڙي جهڙي شيءِ ڏٺي آهي. تنهن ڪري ان ٻيڙي تائين پهچڻ جون ڪوشون جاري آهن. اهل علم جو خيال آهي تہ اِها اُها ئي شيءِ آهي جنهن کي مذهبي روايتن ۾ نوح جي ٻيڙي چيو ويندو آهي.

جيڪڏهن اهو اطلاع صحيح آهي ته ان جو مطلب اهو آهي ته الله تعاليٰ حضرت نوحؑ جي ٻيڙي کي اڄ به باقي رکيو آهي، ته جيئن اها ماڻهن لاءِ ان ڳالهه جي نشاني ٿئي ته خدا جي طوفان کان بچڻ لاءِ ماڻهو کي پيغمبر جي ٻيڙي گهربل آهي، ڪا ٻي شيءِ ماڻهو کي الله تعاليٰ جي طوفان کان بچائڻ واري ثابت نه ٿي ٿئي سگهي.

وَ اِبْرٰهِيْمَ اِذْ قَالَ لِقَوْمِهِ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَ اتَّقُوْهُ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿١٦﴾ اِنَّمَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْثَانًا وَّ تَخْلُقُوْنَ اِفْكًا ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَا يَمْلِكُوْنَ لَكُمْ رِزْقًا فَابْتَغُوْا عِنْدَ اللّٰهِ الرِّزْقَ وَ اعْبُدُوْهُ وَ اشْكُرُوْا لَهٗ ؕ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿١٧﴾ وَ اِنْ تُكَذِّبُوْا فَقَدْ كَذَّبَ اُمَمٌ مِّنْ قَبْلِكُمْ ؕ وَ مَا عَلَى الرَّسُوْلِ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿١٨﴾

۽ ابراهيم کي جڏهن ان پنهنجي قوم کي چيو ته الله جي عبادت ڪريو ۽ ان کان ڊڄو. اهو توهان لاءِ بهتر آهي جيڪڏهن توهان سمجهو. توهان الله کي ڇڏي فقط بتن کي پوڄيندا آهيو ۽ توهان ڪوڙيون ڳالهيون گهڙيندا آهيو. الله کان سواءِ توهان جن جي عبادت ڪندا آهيو، اهي توهان کي رزق ڏيڻ جو اختيار نه ٿا رکن. تنهن ڪري توهان الله وٽ رزق تلاش ڪريو ۽ ان جي عبادت ڪريو ۽ ان جو شڪر ادا ڪريو. ان ئي ڏانهن توهان موٽايا ويندؤ ۽ جيڪڏهن توهان ڪوڙو ڀانئيو ته توهان کان اڳ ڪيترين ئي قومن ڪوڙو ڀانئيو هو ۽ رسول تي پڌرو پهچائڻ کان سواءِ ڪا ذميداري نه آهي. ١٦-١٨

---

هڪ الله تعاليٰ کان سواءِ جنهن کي به ماڻهو پنهنجن اعليٰ جذبن جو مرڪز بڻائي ٿو، اهو هڪ ڪوڙ هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته اهو غير خدا ۾ خدائي صفتن کي فرض ڪرڻ هوندو آهي. اهي برتر صفتون جيڪي صرف الله تعاليٰ لاءِ خاص آهن، انهن کي ماڻهو غير خدا ۾ فرض ڪري وٺي ٿو، ان کان پوءِ ئي اهو ممڪن هوندو آهي ته هو ڪنهن غيرخدا جو پرستار بڻجي سگهي.

قديم مشرڪاڻي دور ۾ انسان ان قسم جون صفتون بتن ۾ فرض ڪندا هئا، اڄ جو انسان به اهوئي ڪري رهيو آهي. البت اڄ جي انسان جي بتن جا نالا ان کان مختلف آهن، جيڪي قديم مشرڪن جي بتن جا هئا. قديم ۽ جديد جو فرق صرف اِهو آهي ته قديم انسان جيڪڏهن پوک جي پيداوار کي ڪنهن فرضي ديوتا جي مهرباني سمجهندو هو ته اڄ جو انسان ان لاءِ اهي لفظ ڳالهائيندو آهي، اسان جو گرين ريوليوشن اسان جي ايگريڪلچرل سائنس جو ڪرشمو آهي.

اَوَ لَمْ يَرَوْا كَيْفَ يُبْدِئُ اللّٰهُ الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ ؕ اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ ﴿١٩﴾ قُلْ سِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ بَدَاَ الْخَلْقَ ثُمَّ اللّٰهُ يُنْشِئُ النَّشْاَةَ الْاٰخِرَةَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٢٠﴾ يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ وَ يَرْحَمُ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَ اِلَيْهِ تُقْلَبُوْنَ ﴿٢١﴾

وَ مَاۤ اَنۡتُمۡ بِمُعۡجِزِيۡنَ فِى الۡاَرۡضِ وَ لَا فِى السَّمَآءِ ۫ وَ مَا لَكُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مِنۡ وَّلِىٍّ وَّ
لَا نَصِيۡرٍ ﴿٢٢﴾ وَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَ لِقَآئِهٖۤ اُولٰٓئِكَ يَئِسُوۡا مِنۡ رَّحۡمَتِىۡ وَ اُولٰٓئِكَ
لَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿٢٣﴾

ڇا ماڻھن نہ ڏٺو تہ الله ڪھڙي طرح خلق جي شروعات ڪري ٿو، پوءِ ھو ان کي وري ٻيھر پيدا ڪندو. بيشڪ اهو الله لاءِ آسان آهي، چؤ تہ زمين ۾ هلو ڦرو، پوءِ ڏسو تہ الله ڪھڙي طرح خلق کي شروع ڪيو، پوءِ ھو ان کي ٻيھر پيدا ڪندو. بيشڪ الله ھر شيءِ تي قادر آهي. ھو جنھن کي چاھيندو عذاب ڏيندو ۽ جنھن تي چاھيندو رحم ڪندو ۽ ان ئي ڏانھن توھان موٽايا ويندو ۽ توھان نہ زمين ۾ عاجز ڪرڻ وارا آھيو ۽ نہ آسمان ۾ ۽ توھان لاءِ الله کان سواءِ نہ ڪو ڪارساز آهي ۽ نہ ڪو مددگار ۽ جن ماڻھن الله جي آيتن جو ۽ ان سان ملڻ جو انڪار ڪيو تہ اھي ئي منھنجي رحمت کان محروم ٿيا ۽ سندن لاءِ دردناڪ عذاب آهي. ١٩-٢٣

---

انسان جو وجود نہ ھو، پوءِ ان کي وجود ملندو آھي، پوءِ جيڪا تخليق ھڪ دفعو ممڪن ھجي تہ اھا ٻيھر ڇو ممڪن نہ ٿيندي. شاھ عبدالقادر دھلوي ان موقعي تي اھو بامعني نوٽ لکيو آھي تہ "آغاز تہ ڏسو تا ٻيھر ورجائڻ ان مان ئي سمجھي وٺو."

ھر ماڻھو پنھنجي ذات ۾ اول تخليق جو ھڪ مثال آھي. جيڪڏھن ماڻھو کي وڏيڪ مثال گھربل آھن تہ ھو الله جي وسيع دنيا ۾ مطالعو ۽ مشاھدو ڪري، ھو ڏسندو تہ سڄي دنيا ان ئي حقيقت جو زنده نمونو آھي، الله تعاليٰ پنھنجي دنيا ۾ اھي نمونا ان ڪري قائم ڪيا، تہ جيئن انسان ٻيھر تخليق جي معاملي کي سمجھي ۽ پوءِ اھڙو عمل ڪري جيڪو زندگي جي اڳتي اچڻ واري مرحلي ۾ ان جي ڪم اچڻ وارو ھجي.

فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوۡمِهٖۤ اِلَّاۤ اَنۡ قَالُوا اقۡتُلُوۡهُ اَوۡ حَرِّقُوۡهُ فَاَنۡجٰهُ اللّٰهُ مِنَ النَّارِ ؕ اِنَّ فِىۡ
ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوۡمٍ يُّؤۡمِنُوۡنَ ﴿٢٤﴾ وَ قَالَ اِنَّمَا اتَّخَذۡتُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ اَوۡثَانًا ۙ مَّوَدَّةَ بَيۡنِكُمۡ
فِى الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا ۚ ثُمَّ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ يَكۡفُرُ بَعۡضُكُمۡ بِبَعۡضٍ وَّ يَلۡعَنُ بَعۡضُكُمۡ بَعۡضًا ۫ وَّ
مَاۡوٰٮكُمُ النَّارُ وَ مَا لَكُمۡ مِّنۡ نّٰصِرِيۡنَ ﴿٢٥﴾ فَاٰمَنَ لَهٗ لُوۡطٌ ۘ وَ قَالَ اِنِّىۡ مُهَاجِرٌ اِلٰى رَبِّىۡ ؕ
اِنَّهٗ هُوَ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ ﴿٢٦﴾ وَ وَهَبۡنَا لَهٗۤ اِسۡحٰقَ وَ يَعۡقُوۡبَ وَ جَعَلۡنَا فِىۡ ذُرِّيَّتِهِ النُّبُوَّةَ وَ
الۡكِتٰبَ وَ اٰتَيۡنٰهُ اَجۡرَهٗ فِى الدُّنۡيَا ۚ وَ اِنَّهٗ فِى الۡاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيۡنَ ﴿٢٧﴾

پوءِ ان جي قوم جو جواب ان کان سواءِ ڪجھ نہ ھو تہ انھن چيو تہ ان کي قتل ڪري ڇڏيو يا ان کي ساڙي ڇڏيو تہ الله ان کي باھ کان بچائي ورتو. بيشڪ ان جي اندر نشانيون آھن انھن ماڻھن لاءِ جن ايمان آندو ۽ ان چيو تہ توھان الله کان سواءِ جيڪي بت ٺاھيا آھن سي رڳو توھان جي دنياوي دوستي جي ڪري آھن. پوءِ قيامت جي ڏينھن توھان مان ھرڪو ٻئي جو انڪار ڪندو ۽ ھڪ ٻئي تي لعنت ڪندو ۽ باھ توھان جو ٺڪاڻو ھوندي ۽ توھان جو ڪو مددگار نہ ھوندو. پوءِ لوط ان کي مڃيو ۽ (ابراھيم) چيو تہ آئون پنھنجي

رب ڏانهن هجرت ڪريان ٿو. بيشڪ اهو زبردست آهي حڪمت وارو آهي ۽ اسان عطا ڪيو ان کي اسحاق ۽ يعقوب ۽ ان جي نسل ۾ نبوت ۽ ڪتاب رکيوسون ۽ اسان دنيا ۾ ان کي اجر عطا ڪيو ۽ آخرت ۾ بيشڪ اهو صالحين مان هوندو. ٢٤-٢٧

---

جيڪا شيءِ ڪنهن معاشري ۾ قومي رواج جي حيثيت حاصل ڪري وٺي ته اُها ان جي هر فرد جي ضرورت بڻجي ويندي آهي. ان ئي جي بنياد تي باهمي تعلق قائم ٿيندا آهن. ان ئي سان هر قسم جا مفاد وابسته ٿي ويندا آهن. ان ئي لحاظ کان ماڻهن جي وچ ۾ ڪنهن ماڻهو جي قيمت مقرر ٿيندي آهي. قديم زماني ۾ شرڪ جي حيثيت ان ئي قسم جي قومي رواج جي ٿي چڪي هئي.

حضرت ابراهيم عراق جي ماڻهن کي ٻڌايو ته توهان جنهن بت پرستي تي جمي ويٺا آهيو، اهو رڳو هڪ قومي رواج آهي نه وري ڪا حقيقي صداقت. توهان جي موجوده زندگي جي ختم ٿيندي ئي ان جي سڄي اهميت ختم ٿي ويندي، پر صرف پاڻؑ جي ڀائيٽي لوطؑ پاڻؑ جو ساٿ ڏنو. قوم پاڻؑ جي ايتري دشمن ٿي وئي جو ان پاڻؑ کي باهه ۾ وجهي ڇڏيو پر الله پاڻؑ کي بچائي ورتو. پاڻؑ کي نه صرف آخرت جو اعليٰ انعام مليو. بلڪ پاڻؑ کي اهڙي صالح اولاد ڏني وئي جنهن ۾ چار هزار سالن کان نبوت جو سلسلو جاري آهي. پاڻؑ جو پٽ اسحاق پيغمبر ٿيو. پوءِ سندس پٽ يعقوبؑ پيغمبر ٿيو. ان کان پوءِ حضرت عيسيٰ تائين مسلسل ان ئي خاندان ۾ پيغمبري جو سلسلو جاري رهيو. حضرت ابراهيمؑ جو هڪ ٻيو پٽ مديان جي نسل ۾ حضرت شعيب پيدا ٿيا. اهڙي طرح پاڻؑ جو پٽ اسماعيلؑ خود پيغمبر هو ۽ ان جي نسل مان حضرت محمد ﷺ پيدا ٿيا، جن جي پيغمبري قيامت تائين جاري آهي.

حضرت ابراهيمؑ جي ان تاريخ ۾ باطل پرستن لاءِ به نصيحت آهي ۽ انهن ماڻهن لاءِ به روشني آهي جيڪي حق جي بنياد تي پنهنجي پاڻ کي بيهارين.

وَ لُوْطًا اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖۤ اِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ٘ مَا سَبَقَكُمْ بِهَا مِنْ اَحَدٍ مِّنَ
الْعٰلَمِيْنَ۝۲۸ اَىِٕنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الرِّجَالَ وَ تَقْطَعُوْنَ السَّبِيْلَ۬ وَ تَاْتُوْنَ فِيْ نَادِيْكُمُ
الْمُنْكَرَ١ؕ فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖۤ اِلَّاۤ اَنْ قَالُوا ائْتِنَا بِعَذَابِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتَ مِنَ
ع ١٥ الصّٰدِقِيْنَ۝۲۹ قَالَ رَبِّ انْصُرْنِيْ عَلَى الْقَوْمِ الْمُفْسِدِيْنَ۠۝۳۰

۽ لوط کي جڏهن ان پنهنجي قوم کي چيو ته توهان اهڙي بيحيائي جو ڪم ڪيو ٿا، جيڪو توهان کان اڳ دنيا وارن مان ڪنهن نه ڪيو. ڇا توهان مردن وٽ وڃو ٿا ۽ واٽ تي ڦُر ڪندا آهيو ۽ پنهنجن مجلسن ۾ برا ڪم ڪندا آهيو. پوءِ ان جي قوم جو جواب ان کان سواءِ ڪجهه نه هو ته انهن چيو ته جيڪڏهن تون سچو آهين ته اسان تي الله جو عذاب آڻ. لوط چيو ته اي منهنجا رب! فسادي ماڻهن جي مقابلي ۾ منهنجي مدد فرماءِ. ٢٨-٣٠

---

حضرت لوطؑ بابل کي ڇڏي اردن جي علائقي ۾ اچي ويا. الله تعاليٰ ان کي پيغمبر بڻايو ۽ ان کي قوم لوط جي اصلاح جي ڪم تي مقرر ڪيو. اها قوم بحر مردار جي ويجهو سدوم جي علائقي ۾ رهندي هئي ۽ مرد پرستي جي غيرفطري عادت ۾ مبتلا هئي. ان نسبت سان ٻيون برايون به انهن ۾

عام تي چڪيون هيون. پر انهن اصلاح قبول نہ ڪئي.

”الله جو عذاب آڻ“ جو اصل رخ حضرت لوط ڏانهن هو، نہ وري الله ڏانهن. انهن حضرت لوطؑ کي ايترو گهٽ سمجهيو جو انهن مطابق اهو ناممڪن هو تہ حضرت لوطؑ جي ڳالهہ نہ مڃڻ سان اُهي الله جي پڪڙ ۾ اچي ويندا. تنهن ڪري مذاق طور انهن چيو جيڪڏهن تون واقعي سچو آهين تہ اسان تي الله جو عذاب آڻ.

وَ لَمَّا جَآءَتْ رُسُلُنَآ اِبْرٰهِيْمَ بِالْبُشْرٰى ۙ قَالُوْٓا اِنَّا مُهْلِكُوْٓا اَهْلِ هٰذِهِ الْقَرْيَةِ ۚ اِنَّ
اَهْلَهَا كَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ۚ﴿٣١﴾ قَالَ اِنَّ فِيْهَا لُوْطًا ۭ قَالُوْا نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَنْ فِيْهَا ۫ لَنُنَجِّيَنَّهٗ وَ
اَهْلَهٗٓ اِلَّا امْرَاَتَهٗ ۡ كَانَتْ مِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٣٢﴾ وَ لَمَّآ اَنْ جَآءَتْ رُسُلُنَا لُوْطًا سِيْٓءَ بِهِمْ وَ
ضَاقَ بِهِمْ ذَرْعًا وَّ قَالُوْا لَا تَخَفْ وَ لَا تَحْزَنْ ۫ اِنَّا مُنَجُّوْكَ وَ اَهْلَكَ اِلَّا امْرَاَتَكَ كَانَتْ
مِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٣٣﴾ اِنَّا مُنْزِلُوْنَ عَلٰٓى اَهْلِ هٰذِهِ الْقَرْيَةِ رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا كَانُوْا
يَفْسُقُوْنَ ﴿٣٤﴾ وَ لَقَدْ تَّرَكْنَا مِنْهَآ اٰيَةًۢ بَيِّنَةً لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿٣٥﴾

۽ جڏهن اسان جا موڪليل ابراهيم وٽ خوشخبري کڻي پهتا. انهن چيو تہ اسان ان وسندي جي ماڻهن کي هلاڪ ڪرڻ وارا آهيون. بيشڪ ان جا ماڻهو ظالم آهن. ابراهيم چيو تہ ان ۾ تہ لوط بہ آهي. انهن چيو تہ اسان چڱي طرح ڄاڻون ٿا تہ اتي ڪير آهي. اسان ان کي ۽ ان جي گهروارن کي بچائي وٺنداسون. پر سندس زال پوئتي رهجي وڃڻ وارن مان هوندي. پوءِ جڏهن اسان جا موڪليل لوط وٽ آيا تہ هو انهن جي ڪري پريشان ٿيو ۽ تنگدل ٿيو ۽ انهن چيو تون نہ ڊڄ ۽ نہ غم ڪر. اسان توکي ۽ تنهنجي گهروارن کي بچائي وٺنداسون. پر تنهنجي زال جو اها پوئتي رهجي وڃڻ وارن مان هوندي، اسان ان وسندي جي ماڻهن تي هڪ آسماني عذاب سندن بدڪارين جي سزا ۾ نازل ڪرڻ وارا آهيون ۽ اسان ان وسندي جا ڪجهہ نشان رهڻ ڏنا آهن، انهن ماڻهن جي عبرت لاءِ جيڪي عقل رکن ٿا. ٣١-٣٥

---

لوط جي قوم جو علائقو (سدوم، عموره) شديد زلزلي سان تباهہ ڪيو ويو، اُها سرسبز ۽ شاداب وادي جتي چار هزار سال اڳ اها قوم آباد هئي، هاڻي اُتي بحر مردار جو پاڻي ڦهليل آهي.

قرآن جي مطابق تباهي جو اِهو واقعو الله تعاليٰ جي فرشتن ذريعي ظهور ۾ آيو، پر جاگرافي ۽ آثار قديمہ جي ماهرن جو چوڻ آهي تہ ان علائقي ۾ جڏهن جاگرافي عمل جي ڪري جبل پيدا ٿيا تہ ان سان زمين جو هڪ حصو هيٺ دٻجي ويو ۽ پوءِ ان هيٺين حصي تي ڏاکڻي حصي ۾ سمنڊ جو پاڻي پرجي ويو. اهڙي طرح اهو خشڪ حصو پاڻي جي هيٺ اچي ويو، جنهن کي اڄ بحر مردار جو ڏاکڻو ڪنارو چيو ويندو آهي. قرآن ۾ جيڪا شيءِ خدائي نشان آهي اها غيرقرآني مشاهدي ۾ صرف هڪ طبعي واقعو نظر اچي ٿو.

ماهرن جو خيال آهي تہ ان برباد ٿيل وسندي جا کنڊر اڃا بہ سمنڊ جي پاڻي هيٺ موجود آهن. بيشڪ ان ۾ وڏي عبرت آهي، پر اها عبرت صرف انهن ماڻهن لاءِ آهي جيڪي ڳالهين کي سندن گهرائي سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪن.

وَ اِلٰى مَدْيَنَ اَخَاهُمْ شُعَيْبًا ۙ فَقَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَ ارْجُوا الْيَوْمَ الْاٰخِرَ وَ لَا تَعْثَوْا فِي الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ۝٣٦ فَكَذَّبُوْهُ فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ۝٣٧

۽ مدين ڏانهن سندن ڀاءُ شعيب کي (موڪليوسون). پوءِ ان چيو تہ اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو ۽ آخرت جي ڏينهن جي اميد رکو ۽ زمين ۾ فساد ڦهلائڻ وارا نہ بڻجو. تہ انهن ان کي ڪوڙو ڄاتو. پوءِ زلزلي انهن کي اچي پڪڙيو. پوءِ اهي پنهنجن گهرن ۾ اونڌي منهن ڪريا پيا هئا. ٣٦-٣٧

---

حضرت شعيبؑ جنهن قوم ۾ آيا، اها هڪ تجارت پيشہ قوم هئي. اهي ماڻهو مال جي حرص ۾ ايترا وڌيا جو دوکي ۽ فريب جي ذريعي مال ڪمائڻ لڳا. اهوئي انهن جو زمين ۾ فساد ڪرڻ هو. جائز تجارت معاش جي حصول جو اصلاحي طريقو آهي ۽ دوکو ۽ ڦرلٽ معاش جو مفسداڻو طريقو.

حضرت شعيبؑ قوم کي چيو تہ توهان دنيا جي پويان لڳي آخرت کان غافل نہ ٿي وڃو. توهان ان طريقي سان ڪم ڪريو جنهن سان توهان آخرت ۾ پنهنجي لاءِ سٺي انجام جي اميد ڪري سگهو، پر پيغمبر جي سيني ڪوشش جي باوجود قوم نہ مڃيو. ايستائين جو اُها خدا جي قانون مطابق هلاڪ ڪئي وئي. جن گهرن کي انهن پنهنجي لاءِ زندگي جو گهر سمجهيو هو، اهي سندن لاءِ موت جو گهر بڻجي ويا.

وَ عَادًا وَّ ثَمُوْدَاۡ وَ قَدْ تَّبَيَّنَ لَكُمْ مِّنْ مَّسٰكِنِهِمْ ۟ وَ زَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ فَصَدَّهُمْ عَنِ السَّبِيْلِ وَ كَانُوْا مُسْتَبْصِرِيْنَ ۝٣٨

۽ عاد ۽ ثمود کي (ناس ڪيو سون) توهان تي سندن حال واضح ٿي چڪو آهي سندن گهرن مان ۽ سندن عملن کي شيطان انهن لاءِ سينگاريو هو. پوءِ ڪين (سڌي) رستي کان روڪي ڇڏيو ۽ اهي سمجهدار ماڻهو هئا. ٣٨

---

عاد ۽ ثمود کي بہ الله تعاليٰ جي عذاب پڪڙي ورتو. اهي پنهنجي دنياوي معاملن ۾ ڏاڍا هوشيار هئا، پر اهي آخرت جي معاملي ۾ بلڪل نادان هئا. انهن جبلن ۾ گهر ٺاهڻ جو راز ڄاڻي ورتو، پر اُهي پيغمبر جي ذريعي زندگي ٺاهڻ جو راز نہ ڄاڻي سگهيا. ان جو سبب اها شيءِ هئي، جنهن کي عملن کي سينگارڻ چيو ويندو آهي. شيطان انهن کي ڏوکي ۾ رکيو تہ دنيا جي تعمير ئي اصل تعمير آهي، جيڪڏهن دنيا ٺهي ويئي تہ ان کان پوءِ ڪو مسئلو نہ رهندو. پر اهو فريب سندن ڪم نہ آيو ۽ نہ وري اهڙي قسم جو فريب آئنده ڪنهن جي ڪجهہ بہ ڪم اچڻ وارو آهي.

عرب جو ڏاکڻو علائقو جيڪو اڄ يمن، احقاف، حضرِ موت جي نالي سان مشهور آهي، اهوئي قديم زماني ۾ عادم جو علائقو هو، اهڙي طرح حجاز جي اترين حصي ۾ رابغ کان وٺي عقبہ تائين ۽ مديني ۽ خيبر کان تيما ۽ تبوڪ تائين جو علائقو اهو هو جنهن ۾ ثمود جون آباديون هيون.

وَ قَارُوْنَ وَ فِرْعَوْنَ وَ هَامٰنَ ۟ وَ لَقَدْ جَآءَهُمْ مُّوْسٰى بِالْبَيِّنٰتِ فَاسْتَكْبَرُوْا فِي الْاَرْضِ وَ مَا كَانُوْا سٰبِقِيْنَ ۝٣٩ فَكُلًّا اَخَذْنَا بِذَنْۢبِهٖ ۚ فَمِنْهُمْ مَّنْ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِ حَاصِبًا ۚ وَ مِنْهُمْ

مَّنْ اَخَذَتْهُ الصَّيْحَةُ ۚ وَ مِنْهُمْ مَّنْ خَسَفْنَا بِهِ الْاَرْضَ ۚ وَ مِنْهُمْ مَّنْ اَغْرَقْنَا ۚ وَ مَا
كَانَ اللّٰهُ لِيَظْلِمَهُمْ وَ لٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿٤٠﴾

۽ قارون ۽ فرعون ۽ هامان کي (ناس ڪيوسون) ۽ موسيٰ انهن وٽ پڌريون نشانيون کڻي آيو ته انهن زمين ۾ تڪبر ڪيو ۽ اهي اسان کا ڀڄي وڃڻ وارا نه هئا. پوءِ اسان هر هڪ کي سندس گناهه ۾ پڪڙيو. پوءِ انهن مان ڪن تي اسان پٿرن واري هوا موڪلي سون ۽ انهن ۾ ڪن کي ڪڙڪي اچي ورتو ۽ انهن مان ڪن کي اسان زمين ۾ گهايو سون ۽ انهن مان ڪن کي اسان غرق ڪري ڇڏيو ۽ الله انهن تي ظلم ڪرڻ وارو نه هو، پر اهي خود پنهنجن جانين تي ظلم ڪري رهيا هئا. ٣٩-٤٠

---

نبين جي مخاطب قومن جڏهن پنهنجي نبي جو انڪار ڪيو ته انهن کي زميني ۽ آسماني عذابن سان هلاڪ ڪيو ويو. قوم لوط تي حاصب (پٿر وسائڻ واري آنڌي) جو عذاب آيو. عاد ۽ ثمود ۽ اصحاب مدين تي صيحيه (ڪڙڪ ۽ وڄ) جو عذاب آيو. قارون لاءِ خسف (زمين ۾ گهايو ويو) جو عذاب آيو. فرعون ۽ هامان لاءِ غرق (سمنڊ جي پاڻي ۾ ٻوڙڻ) جو عذاب آيو.

انهن سڀني عذابن جو مشترڪ سبب ماڻهن جو تڪبر هو، يعني حق جي دعوت کي ان ڪري نه مڃڻ جو ان کي مڃڻ سان پنهنجي وڏائي ختم ٿي ويندي.

مَثَلُ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْلِيَآءَ كَمَثَلِ الْعَنْكَبُوْتِ ۖۚ اِتَّخَذَتْ بَيْتًا ؕ وَ اِنَّ
وقف لازم اَوْهَنَ الْبُيُوْتِ لَبَيْتُ الْعَنْكَبُوْتِ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤١﴾ اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يَدْعُوْنَ مِنْ
دُوْنِهٖ مِنْ شَيْءٍ ؕ وَ هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٤٢﴾ وَ تِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ ۚ وَ مَا
يَعْقِلُهَآ اِلَّا الْعٰلِمُوْنَ ﴿٤٣﴾ خَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ بِالْحَقِّ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً
ع ١٤ ١٦ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٤٤﴾

جن ماڻهن الله کان سواءِ ٻيا ڪارساز بڻايا آهن، انهن جو مثال ڪوريئڙي وانگر آهي. ان هڪ گهر بڻايو ۽ بيشڪ سڀني گهرن مان گهٽ ڪمزور گهر ڪوريئڙي جو گهر آهي، ڪاش ماڻهو ڄاڻن ها. بيشڪ الله ڄاڻي ٿو انهن شين کي جن کي اهي الله کان سواءِ پڪاريندا آهن ۽ اهو زبردست آهي، حڪمت وارو آهي ۽ اهي مثال آهن جن کي اسان ماڻهن لاءِ بيان ڪندا آهيون ۽ انهن کي اهي ئي ماڻهو سمجهندا آهن جيڪي علم وارا آهن. الله آسمانن ۽ زمين کي برحق پيدا ڪيو آهي. بيشڪ ان ۾ نشاني آهي ايمان وارن لاءِ. ٤١-٤٤

---

هتي ٻڌايو ويو آهي ته ”ڪوريئڙي“ جي گهر کي ڏسي جيڪو ماڻهو حقيقت جو سبق پائي وٺي، اهوئي اصل ۾ عالم آهي. ان مان معلوم ٿيو ته الله وٽ سچي علم وارا ڪير آهن. اهي اهي ماڻهو نه آهن جيڪي ڪتابي بحث جا ماهر بڻيل هجن. بلڪ اهي اُهي ماڻهو آهن جيڪي الله تعاليٰ جي دنيا ۾ ڦهليل قدرت جي نشانين مان نصيحت جي غذا وٺي سگهن. دنيا جا ننڍا ننڍا واقعا جن جي ذهن ۾ داخل ٿي وڏين نصيحتن ۾ تبديل ٿي وڃن. اهوئي علم جڏهن آخري معرفت تائين پهچي وڃي ته ان جو ٻيو نالو ايمان آهي.

اُتۡلُ مَاۤ اُوۡحِیَ اِلَیۡكَ مِنَ الۡكِتٰبِ وَ اَقِمِ الصَّلٰوةَ ؕ اِنَّ الصَّلٰوةَ تَنۡهٰی عَنِ الۡفَحۡشَآءِ وَ الۡمُنۡكَرِ ؕ وَ لَذِكۡرُ اللّٰهِ اَكۡبَرُ ؕ وَ اللّٰهُ یَعۡلَمُ مَا تَصۡنَعُوۡنَ ﴿۴۵﴾

تون ان ڪتاب کي پڙهه جيڪو توڏانهن وحي ڪيو ويو آهي ۽ نماز قائم ڪر. بيشڪ نماز بيحيائي کان ۽ برن ڪمن کان روڪيندي آهي ۽ الله جي ياد تمام وڏي شيءِ آهي ۽ الله ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهه توهان ڪندا آهيو. ٤٥

”نماز برائي کان روڪيندي آهي“ جو مطلب اهو آهي ته نماز جي ڪيفيت برائي کان روڪيندي آهي، جيڪڏهن ماڻهو حقيقت ۾ الله جي اڳيان رڪوع ۽ سجدو ڪرڻ وارو هجي ته ان جي اندر ذميداري ۽ عجز جو احساس پيدا ٿي ويندو آهي ۽ ذميداري ۽ عجز جي احساس سان جيڪو ڪردار پيدا ٿيندو آهي اهو اِهو آهي ته ماڻهو اهوئي ڪري ٿو جيڪو حقيقت ۾ ان کي ڪرڻ گهرجي ۽ اُهو نه ٿو ڪري جيڪو ان کي نه ڪرڻ گهرجي.

ذڪر مان مراد الله جي ياد آهي. جڏهن ماڻهو کي الله جي ڪامل معرفت حاصل ٿي ويندي آهي. جڏهن اُهو پوري طرح الله ڏانهن متوجهه ٿي ويندو آهي ته ان جو نتيجو اِهو ٿيندو آهي ته ان تي الله جو تصور ڇانئجي ويندو آهي. ان جي اندر الله جي ياد جو چشمو جاري ٿي ويندو آهي، ان روحاني درجي تي پهچي ماڻهو جي زبان مان الله لاءِ جيڪي اعليٰ ڪلمات نڪرندا آهن، انهن جو نالو ذڪر آهي، اهو ذڪر بيشڪ اعليٰ ترين عبادت آهي.

وحي جي تلاوت مان مراد هتي وحي جي تبليغ آهي. يعني ماڻهن کي قرآن ٻڌائڻ ۽ ان جي ذريعي سان انهن کي الله جي مرضي کان باخبر ڪرڻ. دعوت ۽ تبليغ جو اهو ڪم بيحد صبر جو ڪم آهي. ان ۾ پنهنجن مخالفن جو خيرخواهه ٿيڻو پوي ٿو. اُن ۾ پنهنجن مخاطبن کي مدعو جي نظر سان ڏسڻو پوي ٿو، چاهي اهي خود داعي جا دشمن ۽ حريف بڻيل هجن. ان ۾ ٻي ڌر جي زيادتين کي هڪ طرفو نظرانداز ڪرڻو پوي ٿو.

نماز جهڙي طرح عام زندگي ۾ هڪ مؤمن کي برائي کان روڪي ٿي، اهڙي طرح اُها داعي کي غير داعياڻي روش کان بچائيندي آهي. الله جو داعي اهوئي ماڻهو بڻجي سگهي ٿو، جنهن جي سيني ۾ الله جي ياد سمايل هجي، جيڪو پنهنجي پوري وجود سان الله جي اڳيان جهڪڻ وارو بڻجي ويو هجي.

وَ لَا تُجَادِلُوۡۤا اَهۡلَ الۡكِتٰبِ اِلَّا بِالَّتِیۡ هِیَ اَحۡسَنُ ٭ۖ اِلَّا الَّذِیۡنَ ظَلَمُوۡا مِنۡهُمۡ وَ قُوۡلُوۡۤا اٰمَنَّا بِالَّذِیۡۤ اُنۡزِلَ اِلَیۡنَا وَ اُنۡزِلَ اِلَیۡكُمۡ وَ اِلٰـهُنَا وَ اِلٰـهُكُمۡ وَاحِدٌ وَّ نَحۡنُ لَهٗ مُسۡلِمُوۡنَ ﴿۴۶﴾

۽ تون اهل ڪتاب سان بحث نه ڪر، پر ان طريقي سان جيڪو بهتر آهي. سواءِ انهن جي جيڪي بي انصاف آهن ۽ (ڪين) چؤ ته اسان ايمان آندو ان شيءِ تي جيڪا اسان ڏانهن موڪلي وئي آهي ۽ ان تي جيڪو توهان ڏانهن موڪليو ويو آهي. اسان جو معبود ۽ توهان جو معبود هڪ آهي ۽ اسان ان جي ئي فرمانبرداري ڪرڻ وارا آهيون. ٤٦

داعي لاءِ صحيح طريقو اهو آهي ته جيڪي ماڻهو بحث ڪن ۽ الجهن ته انهن کان هو سلام ڪري

جدا ٿي وڃي ۽ جيڪي ماڻهو سنجيده هجن، انهن تي هو حق جي امر کي واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. جيئن ته دعوتي ڪلام کي حڪيماڻو ڪلام هئڻ گهرجي ۽ حڪيماڻي ڪلام جي هڪ خاص سڃاڻ اها آهي ته ان ۾ مدعو جي نفسيات جو پورو لحاظ ڪيو ويندو آهي. داعي پنهنجي ڳالهه کي اهڙي طريقي سان چوندو آهي جو مدعو ان کي پنهنجي دل جي ڳالهه سمجهي، نه وري غير جي ڳالهه سمجهي ان کان پري ٿي وڃي، داعي جو ڪلام نصيحت جو ڪلام هوندو آهي نه وري مناظري جو ڪلام.

وَ كَذٰلِكَ اَنۡزَلۡنَاۤ اِلَيۡكَ الۡكِتٰبَ ؕ فَالَّذِيۡنَ اٰتَيۡنٰهُمُ الۡكِتٰبَ يُؤۡمِنُوۡنَ بِهٖ ۚ وَ مِنۡ هٰۤؤُلَآءِ
مَنۡ يُّؤۡمِنُ بِهٖ ؕ وَ مَا يَجۡحَدُ بِاٰيٰتِنَاۤ اِلَّا الۡكٰفِرُوۡنَ ﴿۴۷﴾ وَ مَا كُنۡتَ تَتۡلُوۡا مِنۡ قَبۡلِهٖ مِنۡ
كِتٰبٍ وَّ لَا تَخُطُّهٗ بِيَمِيۡنِكَ اِذًا لَّارۡتَابَ الۡمُبۡطِلُوۡنَ ﴿۴۸﴾ بَلۡ هُوَ اٰيٰتٌۢ بَيِّنٰتٌ فِىۡ صُدُوۡرِ
الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡعِلۡمَ ؕ وَ مَا يَجۡحَدُ بِاٰيٰتِنَاۤ اِلَّا الظّٰلِمُوۡنَ ﴿۴۹﴾

۽ اهڙي طرح اسان توتي ڪتاب نازل ڪيو. ته جن ماڻهن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي اُهي ان تي ايمان آڻيندا آهن ۽ انهن (مڪي وارن) مان به ڪجهه ايمان آڻيندا آهن ۽ اسان جي آيتن جو انڪار صرف ڪافر ئي ڪندا آهن ۽ تون ان کان اڳ ۾ ڪو ڪتاب نه پڙهندو هئين ۽ نه ان کي پنهنجي ساڄي هٿ سان لکندو هئين، اهڙي حالت ۾ باطل پرست ماڻهو شڪ ڪري پئي سگهيا. بلڪ اهي پڌريون آيتون آهن. انهن ماڻهن جي سينن ۾ جن کي علم عطا ڪيو ويو آهي ۽ اسان جي آيتن جو انڪار نه ٿا ڪن. پر اهي جيڪي ظالم آهن. ۴۷-۴۹

---

ماڻهن ۾ ٻن قسمن جا فرد هوندا آهن، هڪ اهي جن کي اڳ ئي سچائي جو علم حاصل هوندو آهي ۽ ٻيا اهي ماڻهو جيڪي بظاهر سچائي جو علم نه ٿا رکن. جيئن ته اُهي ٻئي قسم جا ماڻهو به فطرت جي سطح تي سچائي کي سڃاڻيندا آهن. پهرين قسم جا ماڻهو جيڪڏهن حامل ڪتاب آهن ته ٻئي قسم جا ماڻهو حامل فطرت.

جيڪڏهن ماڻهو حقيقت ۾ سنجيده هجن ته اهي فوراً حق کي سڃاڻي وٺندا. هڪ جماعت جيڪڏهن ان کي آسماني ڪتاب جي سطح تي سڃاڻي وٺندي ته ٻئي جماعت فطرت جي ڪتاب واري سطح تي هر هڪ کي سچائي جي ڳالهه پنهنجي دل جي ڳالهه نظر ايندي، پر اڪثر حالتن ۾ ماڻهو طرح طرح جي نفسياتي مونجهارن ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن، ان جي ڪري انهن ۾ انڪار جو مزاج اڀري ويندو آهي. اهي سچائي جو انڪار ڪندا رهندا آهن، چاهي ان جي حق ۾ ڪيترائي گهڻا دليل ڇو نه ڏنا وڃن.

وَ قَالُوۡا لَوۡ لَاۤ اُنۡزِلَ عَلَيۡهِ اٰيٰتٌ مِّنۡ رَّبِّهٖ ؕ قُلۡ اِنَّمَا الۡاٰيٰتُ عِنۡدَ اللّٰهِ ؕ وَ اِنَّمَاۤ اَنَا نَذِيۡرٌ
مُّبِيۡنٌ ﴿۵۰﴾ اَوَ لَمۡ يَكۡفِهِمۡ اَنَّاۤ اَنۡزَلۡنَا عَلَيۡكَ الۡكِتٰبَ يُتۡلٰى عَلَيۡهِمۡ ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَرَحۡمَةً وَّ
ذِكۡرٰى لِقَوۡمٍ يُّؤۡمِنُوۡنَ ﴿۵۱﴾ قُلۡ كَفٰى بِاللّٰهِ بَيۡنِىۡ وَ بَيۡنَكُمۡ شَهِيۡدًا ۚ يَعۡلَمُ مَا فِى السَّمٰوٰتِ
وَ الۡاَرۡضِ ؕ وَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا بِالۡبَاطِلِ وَ كَفَرُوۡا بِاللّٰهِ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمُ الۡخٰسِرُوۡنَ ﴿۵۲﴾

۽ اُهي چوندا آهن ته ان تي ان جي رب طرفان نشانيون ڇو نه لاٿيون ويون. چئو ته نشانيون ته الله وٽ آهن ۽ آئون صرف پڌرو ڊيڄارڻ وارو آهيان. ڇا انهن لاءِ اهو ڪافي نه آهي ته اسان تو تي ڪتاب نازل ڪيو. جيڪو انهن کي پڙهي ٻڌايو ٿو وڃي. بيشڪ ان ۾ رحمت ۽ نصيحت آهي انهن ماڻهن لاءِ جن ايمان آندو آهي. چئو ته الله منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ گواهي لاءِ ڪافي آهي. هو ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهه آسمانن ۽ زمين ۾ آهي ۽ جن ماڻهن باطل تي ايمان آندو ۽ جن الله جو انڪار ڪيو اُهي ئي خساري ۾ رهڻ وارا آهن. ۵۰-۵۲

---

جيڪي ماڻهو چوندا هئا ته پيغمبر اسلام کي ان قسم جون نشانيون ڇو نه ڏنيون ويون جهڙيون نشانيون مثال طور موسيٰ عليه السلام کي ڏنيون ويون هيون. فرمايو ويو ته نشانيون الله وٽ آهن. يعني نشانين (معجزن) جو تعلق الله سان آهي نه وري پيغمبر سان، پيغمبر جي دعوت جو اصل دارومدار دليل تي هوندو آهي. پيغمبر هميشه دليلن جي زور تي پنهنجي دعوت پيش ڪندو آهي، البت ڪن مصلحتن جي ڪري الله ڪڏهن ڪنهن پيغمبر کي نشاني (معجزو) ڏئي ڇڏيندو آهي ۽ ڪڏهن نه ڏيندو آهي.

ايمان هڪ شعوري واقعو آهي، اهوئي ايمان آهي، جيڪو دليل سان مطمئن ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن ٻانهي جي دل ۾ پيدا ٿيندو آهي. جيڪو ماڻهو دليل جي روشني ۾ ڏسي ڪنهن شيءِ کي مڃي، اهو حق پرست آهي ۽ جيڪو ماڻهو غير متعلق بحثن ۾ پوي اهو باطل پرست آهي.

وَ يَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالْعَذَابِ ؕ وَ لَوْ لَاۤ اَجَلٌ مُّسَمًّى لَّجَآءَهُمُ الْعَذَابُ ؕ وَ لَيَاْتِيَنَّهُمْ بَغْتَةً وَّ هُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ۝۵۳ يَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالْعَذَابِ ؕ وَ اِنَّ جَهَنَّمَ لَمُحِيْطَةٌۢ بِالْكٰفِرِيْنَ ۝۵۴ يَوْمَ يَغْشٰىهُمُ الْعَذَابُ مِنْ فَوْقِهِمْ وَ مِنْ تَحْتِ اَرْجُلِهِمْ وَ يَقُوْلُ ذُوْقُوْا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۝۵۵

۽ اهي ماڻهو توکان تڪڙو عذاب گهري رهيا آهن ۽ جيڪڏهن هڪ وقت مقرر نه هجي ها ته انهن تي عذاب اچي وڃي ها ۽ يقيناً اهو انهن تي اوچتو ايندو ۽ کين خبر به نه پوندي. اُهي توکان تڪڙو عذاب گهري رهيا آهن ۽ جهنم منڪرن کي گهيري رکيو آهي. جنهن ڏينهن عذاب انهن کي سندن مٿن کان ۽ سندن پيرن جي هيٺ کان وڪوڙي وٺندو ۽ (الله) چوندو ته جيڪي ڪندا هو تنهن جو (مزو) چکو. ۵۳-۵۵

---

انسان جا عمل ئي ان جي جنت آهن ۽ انسان جا عمل ئي ان جي دوزخ. هڪ ماڻهو جيڪو انڪار ۽ سرڪشي جو رويو اختيار ڪري، ان جي زندگي کي جيڪڏهن ان جي معنوي انجام جي لحاظ کان ڏسڻ ممڪن هجي ته نظر ايندو ته ان جي بري عمل ان کي عذاب ٻڌجي گهيري رکيو آهي ۽ صرف ايتري دير باقي آهي ته موت اچي ۽ ان کي ان جي نااهل دنيا ۾ پهچائي ڇڏي.

انسان جي سرڪشي صرف پنهنجي حقيقت کان بي خبري جو نتيجو هوندي آهي. جيڪڏهن ان جي اها بي خبري ختم ٿي وڃي ته اوچتو هو بلڪل ٻيو انسان ٻڌجي وڃي.

يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنَّ اَرْضِيْ وَاسِعَةٌ فَاِيَّايَ فَاعْبُدُوْنِ ۝۵۶ كُلُّ نَفْسٍ ذَآئِقَةُ الْمَوْتِ ۫ ثُمَّ اِلَيْنَا تُرْجَعُوْنَ ۝۵۷ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَنُبَوِّئَنَّهُمْ مِّنَ

الْجَنَّةِ غُرَفًا تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ نِعْمَ اَجْرُ الْعٰمِلِيْنَ ۖ﴿۵۸﴾ الَّذِيْنَ
صَبَرُوْا وَ عَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿۵۹﴾ وَ كَاَيِّنْ مِّنْ دَآبَّةٍ لَّا تَحْمِلُ رِزْقَهَا ۖۗ اَللّٰهُ يَرْزُقُهَا وَ
اِيَّاكُمْ ۖ وَ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿۶۰﴾

اي منهنجا ٻانهو! جن ايمان آندو آهي، بيشڪ منهنجي زمين وسيع آهي. تنهن ڪري توهان منهنجي ئي عبادت ڪريو. هر جيءُ کي موت جو مزو چکڻو آهي. پوءِ توهان مون ڏانهن موٽايا ويندؤ ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن نيڪ عمل ڪيا. ڪين اسان جنت جي محلاتن ۾ جاءِ ڏينداسون، جن جي هيٺان نهرون جاري هونديون، اهي ان ۾ هميشه رهندا. ڪهڙو نه سٺو بدلو آهي عمل ڪرڻ وارن جو جن صبر ڪريو ۽ جيڪي پنهنجي رب تي ڀروسو ڪن ٿا ۽ ڪيترائي جانور آهن جيڪي پنهنجو رزق ساڻ نه کڻندا آهن. الله انهن کي رزق ڏي ٿو ۽ توهان کي به ۽ اُهو ٻڌڻ وارو ڄاڻڻ وارو آهي. ٥٦-٦٠

---

هجرت هڪ لحاظ کان طريقيڪار جي تبديلي آهي. اها تبديلي ڪڏهن عمل جو مقام بدلائڻ جي صورت ۾ ٿيندي آهي، جيئن مڪي کي ڇڏي مديني وڃڻ ۽ ڪڏهن عمل جو ميدان بدلائڻ جي صورت ۾ ٿيندي آهي، جيئن صلح حديبيه جي ذريعي جنگ جي ميدان کان هٽي دعوت جي ميدان ۾ اچڻ.

هنن آيتن ۾ مڪي جي اهل ايمان کي چيو ويو ته مڪي جا ماڻهو جيڪڏهن توهان کي ستائيندا آهن ته توهان مڪي کي ڇڏي ٻين علائقن ۾ هليا وڃو ۽ اُتي الله جي عبادت ڪريو. ان مان معلوم ٿيو ته صبر ۽ توڪل جو مطلب عبادت تي ثابت قدم رهڻ آهي، نه وري دشمن سان جهيڙي ۾ ثابت قدم رهڻ. جيڪڏهن هرحال ۾ دشمن سان ٽڪراءُ ۾ رهڻ مقصود هجي ها ته انهن کي چيو وڃي ها ته مخالفن سان وڙهندا رهو ۽ اُتان ڪنهن به حال ۾ قدم ٻاهر نه ڪڍو.

وَ لَىِٕنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ وَ سَخَّرَ الشَّمْسَ وَ الْقَمَرَ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ۚ
فَاَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ﴿۶۱﴾ اَللّٰهُ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ وَ يَقْدِرُ لَهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ
شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۶۲﴾ وَ لَىِٕنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ نَّزَّلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ مِنْۢ بَعْدِ
ع ٦ ٢ مَوْتِهَا لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ؕ قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ ؕ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿۶۳﴾

۽ جيڪڏهن تون انهن کان پُڇين ته آسمانن ۽ زمين کي ڪنهن پيدا ڪيو ۽ سج کي ۽ چنڊ کي ڪنهن تابع ڪيو آهي ته هو ضرور چوندا ته الله. پوءِ هو ڪيڏانهن ڦيرايا ويندا آهن. الله ئي پنهنجن ٻانهن مان جنهن جو چاهي ٿو رزق ڪشادو ڪندو آهي ۽ جنهن جو چاهي ٿو تنگ ڪندو آهي. بيشڪ الله هر شيءِ جو ڄاڻڻ وارو آهي ۽ جيڪڏهن توهان انهن کان پڇو ته آسمان مان پاڻي ڪنهن وسايو، پوءِ ان سان زمين کي زنده ڪيائين ان جي مرڻ کان پوءِ، ته ضرور اُهي چوندا ته الله. چؤ ته سڀ ساراهه الله لاءِ آهي، بلڪ انهن مان اڪثر ماڻهو نه ٿا سمجهن. ٦١-٦٣

---

زمين ۽ آسمان کي پيدا ڪرڻ ايترو وڏو واقعو آهي ته هڪ قادر مطلق خدا ئي ان کي انجام ڏئي سگهي ٿو. سج ۽ چنڊ جي گردش، مينهن جو وسڻ ۽ زمين مان پوک جو پيدا ٿيڻ. اهي سڀ ان کان وڏا ڪم آهن جو ڪو غير خدا انهن کي وجود ۾ آڻي سگهي.

جيڪي ماڻهو ڪنهن شرڪ ۾ مبتلا آهن. اهي بہ پنهنجي فرض ڪيل هستين جي باري ۾ اهو عقيدو نہ ٿا رکن تہ انهن اُن عظيم واقعن ڪي ظهور ۾ آندو آهي. ان جي باوجود گهڻا ماڻهو الله ڪان سواءِ ٻين جي پرستش ان اميد تي ڪندا آهن تہ اُهي سندن رزق وڌائي ڇڏيندا. حالانڪ جڏهن هر قسم جو اختيار صرف الله ڪي حاصل آهي تہ ٻيو ڪير آهي جيڪو رزق جي تقسيم ۾ اثرانداز ٿي سگهي.

وَ مَا هٰذِهِ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا لَهْوٌ وَّ لَعِبٌ ؕ وَ اِنَّ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ لَهِيَ الْحَيَوَانُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿٦٤﴾ فَاِذَا رَكِبُوْا فِي الْفُلْكِ دَعَوُا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ۚ فَلَمَّا نَجّٰىهُمْ اِلَى الْبَرِّ اِذَا هُمْ يُشْرِكُوْنَ ﴿٦٥﴾ لِيَكْفُرُوْا بِمَآ اٰتَيْنٰهُمْ ۚۛ وَ لِيَتَمَتَّعُوْا ۫ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ﴿٦٦﴾

۽ هي دنيا جي حياتي تہ تماشي ۽ راند کان سواءِ (ٻيو ڪجهہ) نہ آهي ۽ آخرت جو گهر ئي اصل زندگي جي جاءِ آهي. ڪاش! جو اُهي ڄاڻن ها. پوءِ جڏهن اُهي ٻيڙي ۾ سوار ٿيندا آهن تہ الله کي سڏيندا آهن. هن لاءِ دين کي خالص ڪندي. پوءِ جڏهن هو انهن کي نجات ڏئي خشڪي تي پهچائيندو آهي تہ هو فوراً شرڪ ڪرڻ لڳندا آهن، تہ جيئن اسان جيڪا نعمت کين ڏني هئي، ان جي ناشڪري ڪن ۽ ڪجهہ ڏينهن فائدو ڪٽي وٺن. پوءِ اُهي سگهوئي ڄاڻي وٺندا. ٦٤-٦٦

---

انسان جي گمراهي جو اصل سبب اهو آهي جو هو دنيا جي رونقن ۽ دنيا جي مسئلن ۾ ايترو گم هوندو آهي جو ان کان مٿانهون سوچي نہ ٿو سگهي، حقيقت کي پائڻ لاءِ پنهنجي پاڻ کي ظاهر کان مٿي ڪڍڻو پوي ٿو، اڪثر ماڻهو خود کي ظاهر کان مٿي نہ ٿا ڪڍي سگهن، ان ڪري اڪثر ماڻهو حقيقت کي پائڻ وارا بہ نہ ٿا بڻجن.

دنيا ۾ ماڻهو کي بار بار اهڙا تجربہ پيش ايندا آهن جو هن کي پنهنجي بيوسي ۽ عجز ياد ڏياريندا آهن. ان وقت هن جا سيئي مصنوعي خيال ختم ٿي ويندا آهن ۽ حقيقي فطرت وارو انسان جاڳي پوندو آهي، پر جيئن ئي حالتون صحيح ٿينديون آهن تہ هو ٻيهر اڳ وانگر غافل ۽ سرڪش بڻجي ويندو آهي. انهن ئي نازڪ تجربن مان سفر جو اهو تجربو آهي جنهن جو ذڪر مٿين آيت ۾ ڪيو ويو آهي.

ماڻهو کي ڄاڻڻ کپي تہ آزادي جو اهو موقعو ان کي صرف ڪجهہ ڏينهن جي زندگي تائين حاصل آهي. موت کان پوءِ ان جي سامهون بلڪل ٻئي دنيا هوندي ۽ بلڪل ٻيا مسئلا هوندا.

اَوَ لَمْ يَرَوْا اَنَّا جَعَلْنَا حَرَمًا اٰمِنًا وَّ يُتَخَطَّفُ النَّاسُ مِنْ حَوْلِهِمْ ؕ اَفَبِالْبَاطِلِ يُؤْمِنُوْنَ وَ بِنِعْمَةِ اللّٰهِ يَكْفُرُوْنَ ﴿٦٧﴾ وَ مَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ بِالْحَقِّ لَمَّا جَآءَهٗ ؕ اَلَيْسَ فِيْ جَهَنَّمَ مَثْوًى لِّلْكٰفِرِيْنَ ﴿٦٨﴾ وَ الَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا ؕ وَ اِنَّ اللّٰهَ لَمَعَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٦٩﴾ ع ٧

ڇا اُهي ڏسن نہ ٿا تہ اسان حرم کي امن جي جاءِ بڻايو آهي ۽ ان جي آسپاس کان ماڻهو امالڪ کڄي ويندا آهن تہ ڇا اهي باطل کي مڃن ٿا ۽ الله جي نعمت جي ناشڪري ڪندا آهن ۽ ان ماڻهو کان وڌو ظالم ڪير هوندو

جيڪو الله تي ڪوڙو ناهہ ناهي يا جڏهن وٽس حق اچي چڪو هجي تہ ان کي ڪوڙو سمجهي. ڇا منڪرن جو ٺڪاڻو جهنم نہ هوندو ۽ جن ماڻهن اسان لاءِ ڪوشش ڪئي، انهن کي اسان پنهنجون راهون ڏيکاريندا سون ۽ بيشڪ الله نيڪي ڪرڻ وارن سان گڏ آهي. ٦٧-٦٩

---

مڪي جو حرم الله تعاليٰ جي هڪ عجيب نعمت آهي. الله ماڻهن تي ان جو اهڙو رُعب وجهي ڇڏيو آهي جو اتي پهچي ظالم ۽ سرڪش بہ پنهنجو ظلم ۽ سرڪشي وساري ڇڏيندا آهن. حرم جو اهو تقدس الله تعاليٰ جي قدرت جي هڪ نشاني هو، ان جو تقاضو هو تہ ماڻهن جون دليون الله لاءِ جهڪي وڃن، پر باطل پرستن ايئن ڪيو تہ الله جي غير ۾ الله جون صفتون فرض ڪري ماڻهن جي پرستش جي جذبن کي غلط طور تي غير الله ڏانهن ڦيري ڇڏيو. سندن وڏيڪ ظلم اهو آهي تہ الله جي رسول جڏهن انهن کي نصيحت ڪئي تہ انهن فرضي خدائن کي ڇڏيو ۽ هڪ الله اڳيان جهڪي وڃو تہ هو رسول جا دشمن بڻجي ويا.

باطل پرستي جي ماحول ۾ حق پرست بڻجڻ هڪ سخت مجاهدي جو عمل آهي. ان ۾ مليل شيءِ کسجي وڃي ٿي، مليل سڪون تباهہ ٿي وڃي ٿو، پر ان ئي محرومي ۾ هڪ عظيم شيءِ ملي وڃڻ جو راز لڪيل آهي ۽ اها معرفت ۽ بصيرت آهي. اهڙن ماڻهن لاءِ انسانن جا در بند ٿي ويندا آهن، پر انهن لاءِ الله جا در کلي ويندا آهن. اهي دنيا کي وڃائي الله کي پائڻ لڳندا آهن. اهي مادي راحتن کان پري ٿي ڪري رباني ڪيفيتن کي ويجهو ٿي ويندا آهن، ظاهري شيون انهن کان گم ٿي ويندي يون آهن، پر حقيقت انهن تي واضح ٿي ويندي آهي. انهن تي اهي ڳجها راز کلڻ لڳندا آهن جن جي وڏن وڏن ماڻهن کي بہ خبر نہ هوندي آهي.

## (٣٠) سُوۡرَةُ الرُّوۡمِ مَكِّيَّةٌ (٨٤)

اٰياتها ٦٠ — رکوعاتها ٦

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الٓمّٓ ۚ﴿۱﴾ غُلِبَتِ الرُّوۡمُ ۙ﴿۲﴾ فِىۡۤ اَدۡنَى الۡاَرۡضِ وَ هُمۡ مِّنۡۢ بَعۡدِ غَلَبِهِمۡ سَيَغۡلِبُوۡنَ ۙ﴿۳﴾ فِىۡ بِضۡعِ
سِنِيۡنَ ؕ لِلّٰهِ الۡاَمۡرُ مِنۡ قَبۡلُ وَ مِنۡۢ بَعۡدُ ؕ وَ يَوۡمَئِذٍ يَّفۡرَحُ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ ۙ﴿۴﴾ بِنَصۡرِ اللّٰهِ ؕ
يَنۡصُرُ مَنۡ يَّشَآءُ ؕ وَ هُوَ الۡعَزِيۡزُ الرَّحِيۡمُ ۙ﴿۵﴾ وَعۡدَ اللّٰهِ ؕ لَا يُخۡلِفُ اللّٰهُ وَعۡدَهٗ وَ لٰكِنَّ
اَكۡثَرَ النَّاسِ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿۶﴾ يَعۡلَمُوۡنَ ظَاهِرًا مِّنَ الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا ۖۚ وَ هُمۡ عَنِ الۡاٰخِرَةِ
هُمۡ غٰفِلُوۡنَ ﴿۷﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

الف لام ميم. رومين ويجهي سرزمين ۾ شڪست کاڌي ۽ اهي پنهنجي شڪست کان پوءِ سگهوئي غالب ٿيندا ٿورن ورهين ۾. الله ئي جي هٿ ۾ سڀ ڪم آهن اڳي توڙي پوءِ ۽ ان ڏينهن ايمان وارا خوش ٿيندا الله جي مدد سان. هو جنهن جي چاهي ٿو مدد ڪري ٿو ۽ اُهو زبردست آهي رحمت وارو آهي. الله جو واعدو آهي، الله پنهنجي واعدي جي خلاف نہ ٿو ڪري، پر اڪثر ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن. اُهي صرف دنيا جي زندگي جي ظاهر کي ڄاڻندا آهن ۽ اهي آخرت کان بيخبر آهن. ١-٧

---

ظهور اسلام وقت دنيا ۾ ٻه وڏيون حڪومتون هيون. هڪ مسيحي رومي سلطنت، ٻي مجوسي ايراني سلطنت. ٻنهي ۾ هميشه ڪشمڪش جاري رهندي هئي. رسول اللهﷺ جي پيدائش کان پوءِ ٦٠٣ع جو واقعو آهي ته ڪجھ ڪمزورين مان فائدو وٺندي ايران رومي سلطنت تي حملو ڪري ڇڏيو. رومين کي شڪست تي شڪست ٿي ٿيندي وئي، ايستائين جو ٦١٦ع تائين يروشلم کان وٺي روم جي اوڀرندي سلطنت جو وڏو حصو ايرانين جي قبضي ۾ هليو ويو.

رسول اللهﷺ کي نبوت ٦١٠ع ۾ ملي ۽ پاڻﷺ مڪي ۾ توحيد جي دعوت جو ڪم شروع ڪيو. ان لحاظ کان اهو بلڪل اهوئي زمانو هو جڏهن مڪي ۾ توحيد ۽ شرڪ جي ڪشمڪش جاري هئي. مڪي جي مشرڪن سرحدي واقعي مان فال ڪڍندي مسلمانن کي چيو ته اسان جي مشرڪ ڀائرن (مجوسين) توهان جي ڪتاب وارن ڀائرن (مسيحن) کي شڪست ڏني آهي. اهڙي طرح اسان به توهان جو خاتمو ڪري ڇڏينداسون.

ان وقت قرآن ۾ موجوده حالتن جي بلڪل خلاف اها اڳڪٿي نازل ٿي ته ڏهن سالن جي اندر رومي ٻيهر ايرانين تي غالب اچي ويندا. رومي تاريخدان ٻڌائيندا آهن ته ان کان پوءِ جلد ئي روم جي شڪست کائيندڙ بادشاهه (حرقل) ۾ پراسرار طور تبديلي پيدا ٿيڻ شروع ٿي، ايستائين جو ٦٢١ع ۾ ان ايران تي جوابي حملو ڪيو. ٦٢٤ع ۾ ان ايران تي فيصلائتي فتح حاصل ڪئي. ٦٢٧ع تائين ان پنهنجا سڀ علائقا ايرانين کان واپس وٺي ڇڏيا. قرآن جي اڳڪٿي لفظ به لفظ پوري ٿي. ان مان ثابت ٿيندو آهي ته قرآن جو مصنف الله تعاليٰ آهي. الله تعاليٰ کان سواءِ ڪو به مستقبل جي باري ۾ ايترو صحيح بيان نه ٿو ڏئي سگھي.

وڏيڪ اهو واقعو ٻڌائي ٿو ته شڪست ۽ فتح سڀ الله تعاليٰ جي اختيار ۾ آهي. ان ئي جي فيصلي سان ڪنهن کي اقتدار ملندو آهي ۽ ڪنهن کان اقتدار کسجي ويندو آهي. هڪ قوم جو ڪرڻ ۽ ٻئي قوم جو اڀرڻ بظاهر عام دنياوي واقعو آهي، پر ان ظاهر جو هڪ باطن آهي. هر واقعي جي پويان الله جا فرشتا فيصلائتي طور ڪم ڪري رهيا هوندا آهن، جيتوڻيڪ اهي انساني اکين کي ڏسڻ ۾ نه ٿا اچن، اهڙي طرح موجوده عالم ظاهر جو به هڪ باطن آهي ۽ اهو عالم آخرت آهي.

اَوَ لَمْ يَتَفَكَّرُوْا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ ۣ مَا خَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ وَ مَا بَيْنَهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ
وَ اَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ وَ اِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ بِلِقَآئِ رَبِّهِمْ لَكٰفِرُوْنَ ۝٨ اَوَ لَمْ يَسِيْرُوْا فِي
الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَانُوْٓا اَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةً وَّ
اَثَارُوا الْاَرْضَ وَ عَمَرُوْهَآ اَكْثَرَ مِمَّا عَمَرُوْهَا وَ جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ ؕ فَمَا كَانَ
اللّٰهُ لِيَظْلِمَهُمْ وَ لٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ۝٩ ثُمَّ كَانَ عَاقِبَةَ الَّذِيْنَ اَسَآءُوا
السُّوْٓآٰى اَنْ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَ كَانُوْا بِهَا يَسْتَهْزِءُوْنَ ۝١٠

ڇا انهن پنهنجي جيءَ ۾ غور نه ڪيو. الله آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪو ڪجھ انهن جي وچ ۾ آهي برحق پيدا ڪيو آهي ۽ صرف هڪ مقرر مدت لاءِ ۽ ماڻهن ۾ گھڻا آهن جيڪي پنهنجي رب سان ملاقات جا منڪر آهن.

ڇا اهي زمين ۾ هليا ڦريا نہ آهن جو اهي ڏسن ها تہ ڇا انجام ٿيو انهن ماڻهن جو جيڪي انهن کان اڳ ۾ هئا.
اهي انهن کان طاقت ۾ وڌيڪ هئا ۽ انهن زمين کي کيڙيو ۽ ان کي آباد ڪيو وڌيڪ تنهن کان جيڪا هنن آباد
ڪئي آهي ۽ انهن وٽ سندن رسول پڌريون نشانيون کڻي آيا. پوءِ الله انهن تي ظلم ڪرڻ وارو نہ هو. پر اهي
خود ئي پنهنجي جانين تي ظلم ڪري رهيا هئا. پوءِ جن ماڻهن برا ڪم ڪيا هئا، سندن انجام برو ٿيو، ان
ڪري جو انهن الله جي آيتن کي ڪوڙو ڄاتو ۽ اهي انهن تي ٺٺوليون ڪندا هئا. ٨-١٠

---

الله ڪنهن ماڻهو کي ذڪر ۽ فڪر جي سطح تي ملندو آهي. يعني ماڻهو سوچ جي ذريعي الله کي حاصل ڪندو آهي. الله موجوده دنيا ۾ پنهنجا دليل پکيڙي ڇڏيا آهن. جيڪي ماڻهو کي پنهنجي ذات ۾ ٻاهر جي ڪائنات ۾ ۽ پوءِ پيغمبر جي تعليم ۾ ملندا آهن. جيڪي ماڻهو انهن خدائي نشانين ۾ غور ڪندا، اهي ئي الله کي ڳولي لهندا.

دليل هن دنيا ۾ الله جو نمائندو آهي. هڪ ماڻهو جي سامهون سچو دليل اچي ۽ اُهو ان کي نظرانداز ڪري ڇڏي، تہ ڄڻ ان الله تعاليٰ کي نظرانداز ڪيو. اهڙن ماڻهن لاءِ الله وٽ ابدي محرومي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي.

اَللّٰهُ يَبۡدَؤُا الۡخَلۡقَ ثُمَّ يُعِيۡدُهٗ ثُمَّ اِلَيۡهِ تُرۡجَعُوۡنَ ۝١١ وَ يَوۡمَ تَقُوۡمُ السَّاعَةُ يُبۡلِسُ
الۡمُجۡرِمُوۡنَ ۝١٢ وَ لَمۡ يَكُنۡ لَّهُمۡ مِّنۡ شُرَكَآئِهِمۡ شُفَعٰٓؤُا وَ كَانُوۡا بِشُرَكَآئِهِمۡ كٰفِرِيۡنَ ۝١٣ وَ
يَوۡمَ تَقُوۡمُ السَّاعَةُ يَوۡمَئِذٍ يَّتَفَرَّقُوۡنَ ۝١٤ فَاَمَّا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَهُمۡ
فِيۡ رَوۡضَةٍ يُّحۡبَرُوۡنَ ۝١٥ وَ اَمَّا الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا وَ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا وَ لِقَآئِ الۡاٰخِرَةِ فَاُولٰٓئِكَ فِي
الۡعَذَابِ مُحۡضَرُوۡنَ ۝١٦ فَسُبۡحٰنَ اللّٰهِ حِيۡنَ تُمۡسُوۡنَ وَ حِيۡنَ تُصۡبِحُوۡنَ ۝١٧ وَ لَهُ الۡحَمۡدُ
فِي السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ وَ عَشِيًّا وَّ حِيۡنَ تُظۡهِرُوۡنَ ۝١٨

الله تعاليٰ خلق کي پهريون ڀيرو پيدا ڪندو آهي. پوءِ اهوئي ٻيهر ان کي پيدا ڪندو. پوءِ توهان ان ئي ڏانهن
موٽايا ويندو ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي. ان ڏينهن گنهگار ماڻهو نااميد ٿي ويندا ۽ سندن شريڪن مان
ڪوبہ سندن سفارشي نہ هوندو ۽ اهي پنهنجن شريڪن جا منڪر ٿي ويندا ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي،
ان ڏينهن سڀئي ماڻهو جدا جدا ٿي ويندا. پوءِ جن ايمان آندو ۽ جن نيڪ عمل ڪيا، اهي هڪ باغ ۾ خوش هوندا
۽ جن ماڻهن انڪار ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ۽ آخرت جي اچڻ کي ڪوڙو ڄاتو تہ اُهي عذاب ۾ حاضر ڪيل
هوندا. پوءِ توهان الله جي پاڪائي بيان ڪريو. جنهن مهل توهان سانجهي ڪريو ۽ جنهن مهل صبح ڪريو ۽
آسمانن ۽ زمين ۾ ان جي ئي ساراهہ آهي ۽ پوئين پهر ۽ جنهن مهل منجهند ڪريو. ١١-١٨

---

هڪ مڪمل دنيا جو موجود هجڻ پهرين تخليق جو يقيني ثبوت آهي. پوءِ جڏهن پهرين تخليق ممڪن آهي تہ ٻي تخليق ڇو ممڪن نہ آهي. جيڪو ماڻهو موجوده دنيا کي مڃي ۽ آخرت کي نہ مڃي، اهو خود پنهنجي مڃيل ڳالهہ جي تقاضي جو انڪار ڪري رهيو آهي.

”مجرمن“ مان مراد اهي وڏا ماڻهو آهن جن حق جي انڪار واري تحريڪ جي قيادت ڪئي، جن

حق جي انڪار لاءِ دليل گهڙيا. قيامت جو ڌماڪو جڏهن عالمي نظام کي بدلي ڇڏيندو ته اوچتو اهي مجرم ڏسندا ته اهي سيئي سهارا بلڪل بي بنياد هئا جن تي انهن کي وڏو ناز هو. اهي سيئي لفظ ڪوڙا لفظ ثابت ٿيا جن کي اهي پنهنجي موقف جي حق ۾ ناقابل ترديد دليل سمجهندا هئا. پنهنجن اميدن ۽ خوش خيالن جي ابتڙ جڏهن هو ان صورتحال کي ڏسندا ته اهي بلڪل حيرت زده ٿي رهجي ويندا.

قيامت ۾ انسانن کي ٻن قسمن ۾ ورهايو ويندو. هڪ الله تعاليٰ جي حمد ۽ تسبيح ڪرڻ وارا ماڻهو، ٻيا حمد ۽ تسبيح کان خالي ماڻهو. الله جي حمد ۽ تسبيح ڪرڻ وارا ماڻهو اهي آهن جيڪي الله کي اهڙي طرح لهن جو هو سندن يادن ۾ سمائجي وڃي. اهو سندن دماغ جي سوچ ۽ سندن زبان جو ذڪر بڻجي وڃي. ان ئي حمد ۽ تسبيح جي هڪ مقرر صورت جو نالو پنج وقت جي نماز آهي، آيت ۾ صبح جي تسبيح مان مراد فجر جي نماز آهي، شام جي تسبيح مان مغرب ۽ عشاءِ جون نمازون آهن. منجهند کان پوءِ جي تسبيح مان مراد ظهر جي نماز آهي ۽ ڏينهن جي پوئين وقت جي تسبيح مان مراد عصر جي نماز.

يُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَ يُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ وَ يُحْيِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ وَ
ع كَذٰلِكَ تُخْرَجُوْنَ ﴿١٩﴾ وَ مِنْ اٰيٰتِهٖۤ اَنْ خَلَقَكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ اِذَاۤ اَنْتُمْ بَشَرٌ
تَنْتَشِرُوْنَ ﴿٢٠﴾ وَ مِنْ اٰيٰتِهٖۤ اَنْ خَلَقَ لَكُمْ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا لِّتَسْكُنُوْۤا اِلَيْهَا وَ جَعَلَ
بَيْنَكُمْ مَّوَدَّةً وَّ رَحْمَةً ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿٢١﴾

هو زنده کي مرده مان ڪيندو آهي ۽ مرده کي زنده مان ڪيندو آهي ۽ هو زمين کي ان جي مرده ٿي وڃڻ کان پوءِ زنده ڪندو آهي ۽ اهڙي ئي طرح توهان ماڻهو (قبرن) مان ڪڍيا ويندو ۽ سندس نشانين مان اهو آهي ته هن توهان کي مٽي مان پيدا ڪيو آهي، پوءِ توهان انهيءَ مهل بشر بڻجي پکڙجي ويا آهيو ۽ سندس نشاني مان اهو آهي جو ان توهان جي جنس مان توهان لاءِ جوڙا پيدا ڪيا. ته جيئن توهان انهن سان سڪون حاصل ڪريو ۽ هن توهان ۾ محبت ۽ رحمت رکي ڇڏي. بيشڪ ان ۾ گهڻيون ئي نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي غور ڪندا آهن. ١٩-٢١

---

موجوده دنيا جو هڪ عجيب ۽ غريب ڪرشمو هڪ شيءِ جو ٻي شيءِ ۾ بدلجي وڃڻ آهي. هتي محدود مادو وڌندڙ مادي ۾ تبديل ٿي رهيو آهي. هتي بي جان مٽي (ٻين لفظن ۾ مٽي جا جز) تبديل ٿي ڪري هلندڙ ڦرندڙ ۽ ڳالهائڻ واري انسان جي صورت اختيار ڪري وٺندا آهن. جيئن ته اهو سڀ ڪجهه بامقصد طور تي ٿي رهيو آهي، مثال طور ”مٽي“ جڏهن تبديل ٿي ڪري انسان بڻجي ٿي ته ان جو تقريباً اڌ حصو مرد جي صورت ۾ تبديل ٿي ويندو آهي ۽ تقريباً اڌ حصو عورت جي صورت ۾. ان تقسيم جي ڪري انساني تهذيب هزارن سان کان قائم آهي. اها منظم ۽ مناسب تبديلي ان کان سواءِ ممڪن نه آهي جو ان جي پويان هڪ قادر مطلق خدا جي ڪارفرمائي مڃي وڃي.

حقيقت اها آهي ته ماڻهو جيڪڏهن الله جي تخليق تي غور ڪري ته ان کي ايئن لڳندو ته ڄڻ هر شيءِ ۾ الله تعاليٰ جو جلوو هجي، هر شيءِ مان الله ڏسي رهيو هجي.

وَ مِنْ اٰیٰتِهٖ خَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ اخْتِلَافُ اَلْسِنَتِكُمْ وَ اَلْوَانِكُمْ ؕ اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ
لَاٰیٰتٍ لِّلْعٰلِمِیْنَ ﴿۲۲﴾ وَ مِنْ اٰیٰتِهٖ مَنَامُكُمْ بِالَّیْلِ وَ النَّهَارِ وَ ابْتِغَآؤُكُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ؕ اِنَّ
فِیْ ذٰلِكَ لَاٰیٰتٍ لِّقَوْمٍ یَّسْمَعُوْنَ ﴿۲۳﴾ وَ مِنْ اٰیٰتِهٖ یُرِیْكُمُ الْبَرْقَ خَوْفًا وَّ طَمَعًا وَّ یُنَزِّلُ مِنَ
السَّمَآءِ مَآءً فَیُحْیٖ بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَاٰیٰتٍ لِّقَوْمٍ یَّعْقِلُوْنَ ﴿۲۴﴾

۽ ان جي نشانين مان آسمانن ۽ زمين جي پيدائش ۽ توهان جي ٻولين ۽ توهان جي رنگن جو مختلف هجڻ پڻ آهي. بيشڪ ان ۾ گهڻيون ئي نشانيون آهن علم وارن لاءِ ۽ هن جي نشانين مان توهان جو رات ۽ ڏينهن ۾ سمهڻ ۽ توهان جو هن جي فضل کي تلاش ڪرڻ آهي، بيشڪ ان ۾ گهڻيون ئي نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ٻڌندا آهن ۽ سندس نشانين مان اهو آهي جو هو توهان کي ڪنوڻ ڏيکاري ٿو خوف سان ۽ اميد سان ۽ هو آسمان مان پاڻي وسائيندو آهي. پوءِ ان سان زمين کي زنده ڪندو آهي ان جي مرده ٿي وڃڻ کان پوءِ. بيشڪ ان ۾ نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي عقل کان ڪم وٺندا آهن. ۲۲-۲۴

---

ڪائنات پنهنجي پوري وجود سان خدا جي نشاني آهي. ان جو عدم کان وجود ۾ اچڻ الله جي تخليق جي قوت کي ٻڌائي ٿو. ڪائنات ۾ بيشمار قسمن جي مخلوق خدا جي قدرت ڏانهن اشارو آهي. سيني شين جو بامقصد هجڻ الله جي رحمت واري صفت جو آئينو آهي. ڪنوڻ جهڙي تباهه ڪن شين جي موجودگي خدا جي انتقام واري صفت جو تعارف آهي، زمين جو خشڪ ٿي وڃڻ کان پوءِ ٻيهر سرسبز ٿي وڃڻ ٻيهر تخليق جي امڪان کي ٻڌائي رهيو آهي.

اهي سيئي الله تعاليٰ جون نشانيون آهن. پر اهي نشانيون صرف انهن ماڻهن لاءِ آهن جيڪي ڪائنات جي خاموش پڪار کي ڪن ڏين، جيڪي پنهنجي عقل ۽ پنهنجي علم کي صحيح رخ تي استعمال ڪن.

وَ مِنْ اٰیٰتِهٖۤ اَنْ تَقُوْمَ السَّمَآءُ وَ الْاَرْضُ بِاَمْرِهٖ ؕ ثُمَّ اِذَا دَعَاكُمْ دَعْوَةً ۖۗ مِّنَ الْاَرْضِ ۖۗ
اِذَاۤ اَنْتُمْ تَخْرُجُوْنَ ﴿۲۵﴾ وَ لَهٗ مَنْ فِی السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ كُلٌّ لَّهٗ قٰنِتُوْنَ ﴿۲۶﴾ وَ هُوَ الَّذِیْ
یَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ یُعِیْدُهٗ وَ هُوَ اَهْوَنُ عَلَیْهِ ؕ وَ لَهُ الْمَثَلُ الْاَعْلٰی فِی السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ۚ
وَ هُوَ الْعَزِیْزُ الْحَكِیْمُ ﴿۲۷﴾

۽ سندس نشانين مان اهو آهي ته آسمان ۽ زمين ان جي حڪم سان قائم آهن. پوءِ جڏهن هو توهان کي هڪ ڀيرو سڏيندو ته توهان ان ئي وقت زمين مان نڪري پوندؤ ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪو به آهي اُن ئي جو آهي. سيئي ان ئي جا تابع آهن ۽ اهوئي آهي جيڪو پهرين ڀيري پيدا ڪندو آهي، پوءِ اهوئي ٻيهر پيدا ڪندو ۽ اهو ان جي لاءِ تمام آسان آهي ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ سندس ئي صفت تمام مٿانهين آهي ۽ اهو غالب آهي حڪمت وارو آهي. ۲۵-۲۷

---

وسيع خلا ۾ زمين ۽ سج ۽ سيارن ۽ ستارن جو نظام ايتري قدر حيرت انگيز حدتائين نادر

واقعو آهي جو اهو خود ڳالهائي رهيو آهي تہ اهو ڪنهن قائم رکڻ واري جي قدرت سان قائم آهي ۽ ڪنهن هلائڻ واري جي طاقت سان هلي رهيو آهي. اها غير معمولي مدد جيڪڏهن هڪ لمحي جي لاءِ بہ ان ڪان جدا ٿي وڃي تہ اهو سڄو تباهہ ٿي ويندو. هن دنيا ۾ هڪ معمولي هوائي جهاز بہ پائليٽ جو ڪنٽرول ختم ٿيڻ ڪان پوءِ برباد ٿي ويندو آهي، پوءِ ڪائنات جو ايترو وڏو ڪارخانو ڪنهن ڪنٽرولر جي ڪنٽرول ڪان سواءِ ڪيئن هلي سگهي ٿو.

ڪائنات جو خالق ڪائنات ۾ پنهنجي قدرت جو مظاهرو ڪري رهيو آهي. ان لحاظ ڪان ان لاءِ اهو ڪم نهايت آسان آهي تہ هو انسان ڪي موت ڪان پوءِ ٻيهر پيدا ڪري، پهرين تخليق جو اظهار ڪائنات ۾ هر گهڙي ٿي رهيو آهي. ان ڪان پوءِ ٻيهر تخليق ڪي مڃڻ اهڙو ئي آهي، جيئن هڪ ثابت ٿيل شيءِ ڪي مڃڻ. ڪائنات ۾ الله جي قدرت ۽ ان جي حڪمت جو اظهار ايتري اعليٰ سطح تي ٿي رهيو آهي جو ان ڪان پوءِ ڪنهن بہ ڪارنامي ڪي الله ڏانهن منسوب ڪرڻ ڪا تعجب جي ڳالهہ نہ آهي.

ضَرَبَ لَكُمْ مَّثَلًا مِّنْ اَنْفُسِكُمْ ۭ هَلْ لَّكُمْ مِّنْ مَّا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ مِّنْ شُرَكَاۗءَ فِيْ مَا رَزَقْنٰكُمْ فَاَنْتُمْ فِيْهِ سَوَاۗءٌ تَخَافُوْنَهُمْ كَخِيْفَتِكُمْ اَنْفُسَكُمْ ۭ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ۝۲۸ بَلِ اتَّبَعَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اَهْوَاۗءَهُمْ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۚ فَمَنْ يَّهْدِيْ مَنْ اَضَلَّ اللّٰهُ ۭ وَمَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ۝۲۹

هو توهان لاءِ توهان جي ذات مان هڪ مثال بيان ڪري ٿو. ڇا توهان جي غلامن مان ڪو توهان جي ان مال ۾ شريڪ آهي جيڪو اسان توهان ڪي ڏنو آهي جو توهان ۽ هو ان ۾ برابر هجو ۽ جهڙي طرح توهان پنهنجن جو لحاظ ڪندا آهيو، اهڙي طرح ان جو بہ لحاظ ڪريو ٿا. اهڙي طرح اسان آيتن ڪي واضح ڪري بيان ڪندا آهيون انهن ماڻهن لاءِ جيڪي عقل ڪان ڪم وٺندا آهن، پر پنهنجن جانين تي ظلم ڪرڻ وارا بغير ڪنهن دليل جي پنهنجن خيالن جي پيروي ڪن ٿا. پوءِ ان ڪي ڪير هدايت ڏئي سگهي ٿو جنهن ڪي الله گمراهہ ڪيو ۽ انهن جو ڪو مددگار نہ آهي. ۲۸-۲۹

---

هڪ مشترڪ مال يا جائداد هجي تہ ان ۾ ان جي سڀني شريڪن جو حق هوندو آهي ۽ هر شريڪ ڪي ٻئي شريڪ جي لحاظ ڪرڻو پوي ٿو، پر الله تعاليٰ جو معاملو اهڙي قسم جو معاملو نہ آهي. الله تعاليٰ تنها سڄي ڪائنات جو مالڪ آهي، الله تعاليٰ لاءِ صحيح مثال آقا ۽ غلام جي آهي، نہ وري جائداد جي شريڪن جي. الله ۽ ان جي مخلوق جي وچ ۾ اها ئي نسبت آهي جيڪا هڪ آقا ۽ غلام ۾ هوندي آهي. ڪو ماڻهو پنهنجي غلام يا نوڪر ڪي پنهنجي برابر جو درجو نہ ٿو ڏئي، اهڙي طرح ڪائنات ۾ ڪوبہ نہ آهي جنهن ڪي الله سان برابري جي حيثيت حاصل هجي. الله لاءِ صرف آقا ئي آهي ۽ باقي مخلوق ڏانهن صرف محڪومي ۽ غلامي.

مخلوق جو پنهنجي پنهنجي تخليقي نظام جو پابند هجڻ ٻڌائي ٿو تہ الله ۽ مخلوق جي وچ ۾ صحيح نسبت آقا ۽ غلام جي آهي. ان ڪان سواءِ جيڪا نسبت بہ قائم ڪئي ويندي، ان جي بنياد رڳو انساني مفروضن تي هوندو نہ وري ڪنهن دليل تي.

فَأَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ حَنِيْفًا ۖ فِطْرَتَ اللّٰهِ الَّتِيْ فَطَرَ النَّاسَ عَلَيْهَا ۖ لَا تَبْدِيْلَ لِخَلْقِ اللّٰهِ ۖ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ ۙ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٠﴾ مُنِيْبِيْنَ اِلَيْهِ وَاتَّقُوْهُ وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَلَا تَكُوْنُوْا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿٣١﴾ مِنَ الَّذِيْنَ فَرَّقُوْا دِيْنَهُمْ وَكَانُوْا شِيَعًا ۖ كُلُّ حِزْبٍ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُوْنَ ﴿٣٢﴾

پنهنجي منهن کي دين لاءِ هڪ طرفو ڪري بيهار. الله جي دين جي (پيروي ڪر). جنهن تي ماڻهن کي پيدا ڪيائين. الله جي خلقڻ ۾ ڪا ڦيرقار نہ آهي. اهو سڌو دين آهي، پر اڪثر ماڻهو نٿا ڄاڻين. ان ئي ڏانهن رجوع ڪريو ۽ ان ئي کان ڊڄو ۽ نماز قائم ڪريو ۽ مشرڪن مان نہ ٿيو، جن پنهنجن دين کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو ۽ ٽولا ٽولا ٿي ويا. هر ٽولو پنهنجي طريقي تي خوش آهي جيڪو ان وٽ آهي. ٣٠-٣٢

---

دين اصل ۾ هڪ آهي ۽ اهوئي هر پيغمبر تي پنهنجي ڪامل شڪل ۾ نازل ٿيو آهي. اهو آهي هڪ الله ڏانهن رجوع، هڪ الله جو ڊپ، هڪ الله جي عبادت، سڄي توجهه هڪ الله ڏانهن ٿي وڃڻ، اهو ئي دين فطرت آهي. اهو دين ابدي طور تي هر انسان جي نفسيات ۾ موجود آهي. سيني پيغمبرن ان ئي هڪ دين جي تعليم ڏني، پر سندن پيروي ڪرڻ وارن ڪان پوءِ اچڻ وارن نسلن هڪ دين کي ڪيترائي دين بڻائي ڇڏيو.

ڪيترائي دين هميشہ انهن اجاين بحثن جي ڪري بڻجي ويندا آهن، جيڪي بعد ۾ اچڻ وارا ماڻهو پيغمبرن جي ابتدائي تعليم ۾ پيدا ڪندا آهن. عقيدن ۾ نوان نوان اجايا بحث، عبادتن ۾ هٽ ٺوڪيل مسئلا، زماني ڪان اثر وٺندي دين جون نيون نيون تعبيرون ۽ تشريحون ڪرڻ. اهي ئي اُهي شيون آهن جيڪي بعد جي دور ۾ هڪ دين کي ڪيترائي دين بڻائي ڇڏينديون آهن. جڏهن اهي اضافا وجود ۾ ايندا آهن تہ ماڻهو اصل دين جي بجاءِ پنهنجن انهن اضافن تي سيني ڪان وڌيڪ زور ڏيڻ لڳندا آهن. جنهن جي ڪري اُهي پين ٽولن ڪان جدا ٿي ڪري الڳ ٽولو بڻجي ويندا آهن، هڪ ٽولو هڪ قسم جي اضافي تي زور ڏيندو آهي ۽ ٻيو ٽولو ٻئي قسم جي اضافي تي. اهڙي طرح آخر ۾ اها نوبت ايندي آهي جو هڪ دين کي مڃڻ وارا عملاً ڪيترن ئي ٽولن ۾ ورهائجي ويندا آهن.

وَاِذَا مَسَّ النَّاسَ ضُرٌّ دَعَوْا رَبَّهُمْ مُّنِيْبِيْنَ اِلَيْهِ ثُمَّ اِذَآ اَذَاقَهُمْ مِّنْهُ رَحْمَةً اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ بِرَبِّهِمْ يُشْرِكُوْنَ ﴿٣٣﴾ لِيَكْفُرُوْا بِمَآ اٰتَيْنٰهُمْ ۖ فَتَمَتَّعُوْا ۗ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿٣٤﴾ اَمْ اَنْزَلْنَا عَلَيْهِمْ سُلْطٰنًا فَهُوَ يَتَكَلَّمُ بِمَا كَانُوْا بِهٖ يُشْرِكُوْنَ ﴿٣٥﴾

۽ جڏهن ماڻهن کي ڪا تڪليف پهچندي آهي تہ هو پنهنجي رب کي سڏيندا آهن. ان ئي ڏانهن رجوع ڪندي. پوءِ جڏهن هو پنهنجي طرفان انهن کي پنهنجي رحمت چکائيندو آهي تہ انهن مان هڪ ٽولو پنهنجي رب سان شريڪ بڻائيندو آهي، تہ جيئن اسان انهن کي جيڪو ڪجهہ عطا ڪيو آهي تنهن جي ناشڪري ڪن. پوءِ ڪجهہ ڏينهن فائدو ڪڻي وٺو. جلد ئي توهان ڄاڻي وٺندو. ڇا اسان انهن تي ڪو دليل لاٿو آهي جيڪو کين الله سان شرڪ ڪرڻ لاءِ چئي رهيو آهي. ٣٣-٣٥

---

عام حالتن ۾ ماڻهو پاڻ کي بااختيار ڏسي ٿو. ان ڪري عام حالتن ۾ هو سرڪش بڻجي ويندو آهي، پر جڏهن نازڪ حالتون ان کي ان جي بيوسي جو تجربو ڪرائين ٿيون ته ان وقت ان جي ذهن تان پردا هٽي ويندا آهن ۽ اُهو ان وقت اصلي انسان Man cut to size بڻجي ويندو آهي جيڪو اهو حقيقت ۾ هو. ان وقت هو پنهنجي بيوسي ۽ عاجزي واري حيثيت جو اعتراف ڪندي الله کي پڪارڻ لڳندو آهي.

اِهو نفسيات جي سطح تي توحيد جو ثبوت آهي. اهڙي طرح انسان کي سندس ذاتي تجربي مان حقيقت جو چهرو ڏيکاريو ويندو آهي. پر ماڻهو ايترو نادان آهي، ته جيئن ئي حالتون بدلجن ٿيون ته اهو پيهر اڳ وانگر غفلت ۽ سرڪشي ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي.

وَاِذَآ اَذَقْنَا النَّاسَ رَحْمَةً فَرِحُوْا بِهَا ۭ وَاِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌۢ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ اِذَا هُمْ
يَقْنَطُوْنَ ﴿٣٦﴾ اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَاۗءُ وَيَقْدِرُ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ
لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٣٧﴾ فَاٰتِ ذَا الْقُرْبٰى حَقَّهٗ وَالْمِسْكِيْنَ وَابْنَ السَّبِيْلِ ۭ ذٰلِكَ خَيْرٌ
لِّلَّذِيْنَ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَ اللّٰهِ ۡ وَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٣٨﴾ وَمَآ اٰتَيْتُمْ مِّنْ رِّبًا لِّيَرْبُوَا۟ فِيْٓ
اَمْوَالِ النَّاسِ فَلَا يَرْبُوْا عِنْدَ اللّٰهِ ۚ وَمَآ اٰتَيْتُمْ مِّنْ زَكٰوةٍ تُرِيْدُوْنَ وَجْهَ اللّٰهِ فَاُولٰۗىِٕكَ
هُمُ الْمُضْعِفُوْنَ ﴿٣٩﴾

۽ جڏهن اسان ماڻهن کي ٻاجهه جو مزو چکائيندا آهيون ته اهي ان سان خوش ٿيندا آهن ۽ جيڪڏهن سندن عملن جي ڪري ڪين ڪا تڪليف پهچندي آهي ته يڪدم اُهي مايوس ٿي ويندا آهن. ڇا اُهي ڏسن نه ٿا ته الله جنهن کي چاهي ٿو وڌيڪ روزي ڏي ٿو ۽ جنهن کي چاهي گهٽ. بيشڪ ان ۾ نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ايمان رکن ٿا. پوءِ رشتيدارن کي ان جو حق ڏيو ۽ مسڪين کي ۽ مسافر کي. اهو بهتر آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي الله جي رضا چاهين ٿا ۽ اهي ئي ماڻهو فلاح پائڻ وارا آهن ۽ جيڪو وياج توهان ڏيندا آهيو، ته جيئن ماڻهن جي مال ۾ شامل ٿي اهو وڌي وڃي، ته الله وٽ اهو نه ٿو وڌي ۽ جيڪا زڪوات توهان ڏيندؤ الله جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ، ته اُهي ئي ماڻهو آهن جيڪي الله وٽ پنهنجي مال کي وڌائڻ وارا آهن. ٣٦-٣٩

---

مؤمن راحت ۽ مصيبت ٻنهي کي الله طرفان سمجهي ٿو. ان ڪري اهو ٻنهي حالتن ۾ الله ڏانهن رجوع ڪندو آهي. اهو راحت ۾ شڪر ڪندو آهي ۽ مصيبت ۾ صبر. ان جي ابتڙ غير مؤمن جو ڀروسو پنهنجي پاڻ تي هوندو آهي. ان ڪري اهو چڱين حالتن ۾ فخر ڪندو آهي ۽ جڏهن ان جي طاقت ساٿ ڇڏي وڃي ته پوءِ هو مايوسي جو شڪار ٿي ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته ان کي محسوس ٿيندو آهي ته هاڻي ان جي آخري حد اچي وئي. اها ڄڻ ته فطرت جي گواهي آهي جيڪا ٻڌائي ٿي ته ٻهريون ذهن حقيقي ذهن هو ۽ ٻيو ذهن غيرحقيقي ذهن.

مؤمن جي هڪ سڃاڻپ اها آهي ته هو پنهنجي مال کي الله جي رضا لاءِ خرچ ڪندو آهي. تنهن ڪري هو پنهنجي مال ۾ ٻين ضرورتمندن جو حصو به رکندو آهي، چاهي اهي ان جا مٽ مائٽ هجن يا ٻيا محتاج. اهو پنهنجي مال کي آخرت جو نفعو ڪمائڻ لاءِ خرچ ڪندو آهي، نه وري وياج خور وانگر صرف دنيا جو نفعو ڪمائڻ لاءِ.

اَللّٰهُ الَّذِیْ خَلَقَكُمْ ثُمَّ رَزَقَكُمْ ثُمَّ یُمِیْتُكُمْ ثُمَّ یُحْیِیْكُمْ ؕ هَلْ مِنْ شُرَكَآىِٕكُمْ مَّنْ
ع ١٣ یَّفْعَلُ مِنْ ذٰلِكُمْ مِّنْ شَیْءٍ ؕ سُبْحٰنَهٗ وَ تَعٰلٰى عَمَّا یُشْرِكُوْنَ ﴿۴۰﴾ ظَهَرَ الْفَسَادُ فِی الْبَرِّ وَ
الْبَحْرِ بِمَا كَسَبَتْ اَیْدِی النَّاسِ لِیُذِیْقَهُمْ بَعْضَ الَّذِیْ عَمِلُوْا لَعَلَّهُمْ یَرْجِعُوْنَ ﴿۴۱﴾
قُلْ سِیْرُوْا فِی الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَیْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِیْنَ مِنْ قَبْلُ ؕ كَانَ اَكْثَرُهُمْ
مُّشْرِكِیْنَ ﴿۴۲﴾

الله ئي آهي جنهن توهان کي پيدا ڪيو، پوءِ ان توهان کي روزي ڏني، پوءِ هو توهان کي موت ڏي ٿو، پوءِ هو توهان کي زنده ڪندو. ڇا توهان جي شريڪن مان ڪو اهڙو آهي جيڪو انهن مان ڪو ڪم ڪندو هجي. هو پاڪ آهي ۽ مٿانهون آهي ان شرڪ کان جيڪو اهي ماڻهو ڪندا آهن. بر ۽ بحر ۾ فساد ڦهلجي ويو ماڻهن جي پنهنجن هٿن جي ڪمائي سان، ته جيئن الله مزو چکائي انهن کي سندن ڪجهه عملن جو، شايد اهي باز اچن. چئو ته زمين ۾ هلو ڦرو، پوءِ ڏسو ته انهن ماڻهن جو انجام ڇا ٿيو جيڪي ان کان اڳ گذريا آهن. انهن مان اڪثر مشرڪ هئا. ٤٠-٤٢

---

هڪ انسان جو پيدا ٿيڻ ان کي صبح ۽ شام رزق جو ملڻ، ان تي موت اچڻ، اهي حقيقتون ايتريون عظيم آهن جو انهن جي ظهور ۾ اچڻ لاءِ ڪائناتي قوت گهربل آهي ۽ خالق ڪائنات کان سواءِ ڪابہ هستي اهڙي نہ آهي جيڪا ان قسم جي ڪائناتي طاقت رکندي هجي. حقيقت اها آهي ته توحيد پنهنجو دليل پاڻ آهي ۽ شرڪ پنهنجي ترديد پاڻ.

جيڪڏهن انسان هڪ الله کي پنهنجو معبود بڻائي ته سيني جي توجه جو مرڪز هڪ ٿي ويندو آهي. ان سان انسانن جي وچ ۾ اتحاد جي فضا پيدا ٿيندي آهي. ان جي ابتڙ جڏهن ٻيا معبود بڻايا وڃن ته بيشمار شيون توجه جو مرڪز بڻجي وينديون آهن. ان سان ماڻهن ۽ قومن ۾ دشمني ۽ اختلاف پيدا ٿيندو آهي. بحر ۽ بر ۾ فضا سڀ فساد سان ڀرجي ويندا آهن.

انسان جي گمراهي جو مستقل انجام موت کان پوءِ سامهون اچڻ وارو آهي، پر انسان جي گمراهي جو وقتي انجام هن ئي دنيا ۾ ڏيکاريو ويندو آهي، ته جيئن ماڻهن کي نصيحت حاصل ٿئي.

فَاَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّیْنِ الْقَیِّمِ مِنْ قَبْلِ اَنْ یَّاْتِیَ یَوْمٌ لَّا مَرَدَّ لَهٗ مِنَ اللّٰهِ یَوْمَىِٕذٍ
یَّصَّدَّعُوْنَ ﴿۴۳﴾ مَنْ كَفَرَ فَعَلَیْهِ كُفْرُهٗ ۚ وَ مَنْ عَمِلَ صَالِحًا فَلِاَنْفُسِهِمْ یَمْهَدُوْنَ ﴿۴۴﴾
لِیَجْزِیَ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ مِنْ فَضْلِهٖ ؕ اِنَّهٗ لَا یُحِبُّ الْكٰفِرِیْنَ ﴿۴۵﴾

پوءِ پنهنجو رخ سڌي دين ڏانهن ڪر ان کان اڳ ۾ جو الله طرفان اهڙو ڏينهن اچي وڃي جنهن لاءِ واپسي نہ آهي. ان ڏينهن ماڻهو جدا جدا ٿي ويندا. جنهن انڪار ڪيو ته ان جو انڪار ان ئي تي پوندو ۽ جنهن نيڪ عمل ڪيا ته اهي ماڻهو پنهنجي لاءِ ئي سامان ڪري رهيا آهن، ته جيئن الله ايمان آڻڻ وارن کي ۽ نيڪ عمل ڪرڻ وارن کي پنهنجي فضل سان بدلو ڏي. بيشڪ الله منڪرن کي پسند نہ ٿو ڪري. ٤٣-٤٥

---

موجوده دنيا ۾ سٺا ۽ خراب ٻنهي قسمن جا ماڻهو گڏيل هوندا آهن آخرت ان ڪري ايندي جو

اُها ٻنهي قسم جي ماڻهن کي الڳ الڳ ڪري ڇڏي. ان ڏينهن الله جو انعام انهن ماڻهن لاءِ هوندو جيڪي موجوده دنيا ۾ رڳو الله وارا بڻجي رهيا ۽ جن ماڻهن جون دلچسپيون الله کان سواءِ وابسته رهيون، اهي اتي هميشه لاءِ الله جي رحمتن کان محروم ڪيا ويندا.

وَ مِنْ اٰيٰتِهٖۤ اَنْ يُّرْسِلَ الرِّيَاحَ مُبَشِّرٰتٍ وَّ لِيُذِيْقَكُمْ مِّنْ رَّحْمَتِهٖ وَ لِتَجْرِيَ الْفُلْكُ
بِاَمْرِهٖ وَ لِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ﴿٤٦﴾ وَ لَقَدْ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ رُسُلًا اِلٰى
قَوْمِهِمْ فَجَآءُوْهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَانْتَقَمْنَا مِنَ الَّذِيْنَ اَجْرَمُوْا ؕ وَ كَانَ حَقًّا عَلَيْنَا نَصْرُ
الْمُؤْمِنِيْنَ﴿٤٧﴾

۽ ان جي نشانين مان اهو آهي جو هو هوائون موڪلي ٿو خوشخبري ڏيڻ لاءِ، ته جيئن هو توهان کي پنهنجي رحمت سان نوازي ۽ ته جيئن ٻيڙيون ان جي حڪم سان هلن ۽ ته جيئن توهان ان جو فضل تلاش ڪريو ۽ ته جيئن توهان ان جو شڪر ادا ڪريو ۽ اسان توکان اڳ ۾ رسولن کي موڪليو سندن قوم ڏانهن. پوءِ اُهي انهن وٽ پڌرين نشانين سان آيا، پوءِ اسان انهن ماڻهن کان انتقام ورتو جن جرم ڪيو هو ۽ مؤمنن جي مدد ڪرڻ اسان تي حق آهي. ٤٦-٤٧

---

مينهن کان اڳ ۾ ٿڌين هوائن جو اچڻ ان ڳالهه جو اعلان آهي ته هن دنيا جو الله رحمتن جو الله تعاليٰ آهي. سامونڊي جهاز انساني ترقي لاءِ تمام اهم آهن. پر سمنڊ ۾ جهاز جو هلڻ ان ئي وقت ممڪن هوندو آهي، جڏهن هوا هڪ خاص حد جي اندر رهي. اهڙي طرح موجوده زماني ۾ هوائي سفر جو تعلق به هوا جي انتظام سان آهي، جيڪو الله زمين جي سطح تي قائم ڪيو آهي.

اهو سڄو انتظام ان لاءِ ڪيو ويو آهي، ته جيئن انسان خدا جو شڪرگذار ٻانهو بڻجي رهي، الله جا پيغمبر انهن ئي حقيقتن ڏانهن ماڻهن کي متوجهه ڪرڻ لاءِ آيا. پوءِ ڪجهه ماڻهن انهن کي مڃيو ۽ ڪجهه ماڻهن انهن جو انڪار ڪيو. پوءِ الله تعاليٰ مڃڻ وارن جي مدد ڪئي ۽ انڪار ڪرڻ وارن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو. اهوئي معاملو ٻنهي قسمن جي انسانن سان آخرت ۾ وڏي پيماني تي پيش ايندو.

اَللّٰهُ الَّذِيْ يُرْسِلُ الرِّيٰحَ فَتُثِيْرُ سَحَابًا فَيَبْسُطُهٗ فِي السَّمَآءِ كَيْفَ يَشَآءُ وَ يَجْعَلُهٗ
كِسَفًا فَتَرَى الْوَدْقَ يَخْرُجُ مِنْ خِلٰلِهٖ ۚ فَاِذَاۤ اَصَابَ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖۤ اِذَا هُمْ
يَسْتَبْشِرُوْنَ﴿٤٨﴾ وَ اِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلِ اَنْ يُّنَزَّلَ عَلَيْهِمْ مِّنْ قَبْلِهٖ لَمُبْلِسِيْنَ﴿٤٩﴾ فَانْظُرْ
اِلٰۤى اٰثٰرِ رَحْمَتِ اللّٰهِ كَيْفَ يُحْيِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ اِنَّ ذٰلِكَ لَمُحْيِ الْمَوْتٰى ۚ وَ هُوَ عَلٰى كُلِّ
شَيْءٍ قَدِيْرٌ﴿٥٠﴾ وَ لَىِٕنْ اَرْسَلْنَا رِيْحًا فَرَاَوْهُ مُصْفَرًّا لَّظَلُّوْا مِنْۢ بَعْدِهٖ يَكْفُرُوْنَ﴿٥١﴾ فَاِنَّكَ
لَا تُسْمِعُ الْمَوْتٰى وَ لَا تُسْمِعُ الصُّمَّ الدُّعَآءَ اِذَا وَلَّوْا مُدْبِرِيْنَ﴿٥٢﴾ وَ مَاۤ اَنْتَ بِهٰدِ الْعُمْيِ
ع ١٣ ٨ عَنْ ضَلٰلَتِهِمْ ؕ اِنْ تُسْمِعُ اِلَّا مَنْ يُّؤْمِنُ بِاٰيٰتِنَا فَهُمْ مُّسْلِمُوْنَ﴿٥٣﴾

الله ئي آهي جيڪو هوائن کي موڪلي ٿو، پوءِ اهي ڪڪرن کي ڪڻن ٿيون. پوءِ الله انهن کي آسمان ۾ پکيڙي
ڇڏي ٿو، جهڙي طرح چاهي ٿو ۽ هو انهن کي تهه بہ تهه ڪندو آهي، پوءِ توهان مينهن کي ڏسو ٿا تہ ڪڪرن جي
اندران نڪرندو آهي. پوءِ جڏهن پنهنجن ٻانهن مان جنهن تي چاهيندو آهي تنهن تي پهچائيندو آهي تہ ان ئي مهل اهي
خوش ٿي ويندا آهن ۽ اهي ان جي نازل ڪئي وڃڻ کان اڳ نااميد هئا. پوءِ الله جي رحمت جي نشانين ڏانهن نهار
هو ڪهڙي طرح زمين کي زنده ڪري ٿو سندس مرڻ کان پوءِ. بيشڪ اهوئي مئلن کي زنده ڪرڻ وارو آهي ۽ اهو
هر شيءِ تي قادر آهي ۽ جيڪڏهن اسان هڪ هوا موڪلي ڇڏيون. پوءِ اُهي پوک کي هيڊو ٿيندي ڏسن تہ ان کان
پوءِ اهي انڪار ڪرڻ لڳندا. پوءِ تون مُردن کي نہ ٿو ٻڌائي سگهين ۽ نہ تون ٻوڙن کي پنهنجو سڏ ٻڌائي سگهين
ٿو، جڏهن تہ اهي پٺي ڏئي هليا وڃن ۽ نہ تون انڌن کي سندن گمراهي مان ڪڍي راهہ تي آڻي سگهين ٿو. تون
صرف ان کي ٻڌائي سگهين ٿو جنهن اسان جي آيتن تي ايمان آندو. پوءِ اِهي ئي ماڻهو فرمانبردار آهن. ٤٨-٥٣

---

ماڻهو حق جو رستو اختيار ڪري تہ ان کي اڪثر سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو،
جهڙي طرح اول دور ۾ رسول ۽ اصحاب رسول سان ٿيو، پر انهن حالتن ۾ ڪنهن لاءِ مايوس ٿيڻ جو سوال
نہ آهي. جيڪو الله ايترو رحيم آهي تہ جڏهن پوک کي پاڻي جي ضرورت هوندي آهي تہ هو عالمي
نظام کي متحرڪ ڪري ان کي سيراب ڪري ٿو. اهو بيشڪ پنهنجي رستي تي هلڻ وارن جي بہ ضرور
مدد فرمائيندو. جيئن تہ اها مدد الله جي پنهنجي اندازي مطابق ايندي. ان ڪري جيڪڏهن ان ۾ دير ٿي
وڃي تہ ماڻهو کي مايوس نہ ٿيڻ گهرجي.

الله جي ڳالهہ نهايت واضح ۽ دليل سان هوندي آهي. پر الله جي ڳالهہ جو مؤمن اهو ئي ٻڌندو
جيڪو شين کي گهرائي سان ڏسي، جيڪو ڳالهين کي ڌيان سان ٻڌي، جنهن جي اندر اهو مزاج هجي تہ
جيڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وڃي تہ ان کي مڃي وٺي، جنهن رستي جو صحيح هجڻ معلوم ٿي وڃي تہ ان
تي هلڻ لڳي.

اَللّٰهُ الَّذِیۡ خَلَقَکُمۡ مِّنۡ ضُعۡفٍ ثُمَّ جَعَلَ مِنۡۢ بَعۡدِ ضُعۡفٍ قُوَّۃً ثُمَّ جَعَلَ مِنۡۢ بَعۡدِ قُوَّۃٍ
ضُعۡفًا وَّ شَیۡبَۃً ؕ یَخۡلُقُ مَا یَشَآءُ ۚ وَ هُوَ الۡعَلِیۡمُ الۡقَدِیۡرُ ﴿۵۴﴾ وَ یَوۡمَ تَقُوۡمُ السَّاعَۃُ یُقۡسِمُ
الۡمُجۡرِمُوۡنَ ۬ۙ مَا لَبِثُوۡا غَیۡرَ سَاعَۃٍ ؕ کَذٰلِکَ کَانُوۡا یُؤۡفَکُوۡنَ ﴿۵۵﴾ وَ قَالَ الَّذِیۡنَ اُوۡتُوا الۡعِلۡمَ وَ
الۡاِیۡمَانَ لَقَدۡ لَبِثۡتُمۡ فِیۡ کِتٰبِ اللّٰهِ اِلٰی یَوۡمِ الۡبَعۡثِ ۫ فَهٰذَا یَوۡمُ الۡبَعۡثِ وَ لٰکِنَّکُمۡ کُنۡتُمۡ لَا
تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۵۶﴾ فَیَوۡمَئِذٍ لَّا یَنۡفَعُ الَّذِیۡنَ ظَلَمُوۡا مَعۡذِرَتُهُمۡ وَ لَا هُمۡ یُسۡتَعۡتَبُوۡنَ ﴿۵۷﴾

الله ئي آهي جنهن توهان کي هيڻائي مان خلقيو وري هيڻائي کان پوءِ قوت ڏني وري قوت کان پوءِ ڪمزوري ۽
ٻڍاپو ڏنائين. هو جيڪو چاهي ٿو پيدا ڪري ٿو ۽ اهو علم وارو، قدرت وارو آهي ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم
ٿيندي مجرم قسم کڻي چوندا تہ اهي هڪ گهڙي کان وڌيڪ نہ رهيا. اهڙي طرح اهي رستي کان ڦيرايا ويندا
هئا ۽ جن ماڻهن کي علم ۽ ايمان ڏنو ويو هو، اهي چوندا تہ الله جي ڪتاب ۾ تہ توهان حشر جي ڏينهن تائين
رهيا آهيو، پوءِ اهو حشر جو ڏينهن آهي. پر توهان نہ ڄاڻندا هئا. پوءِ ان ڏينهن ظالمن کي سندن عذر ڪرڻ
ڪجهہ فائدو نہ ڏيندو ۽ نہ انهن کان توبهہ طلب ڪئي ويندي. ٥٤-٥٧

---

انسان پيدائش جي وقت نهايت ڪمزور ٻار هوندو آهي. پوءِ وچ واري وقت ۾ طاقت ۽ جواني جا ڪجھ سال گذارڻ ڪانپوءِ ٻيهر ٻڍاپي جي ڪمزوري اچي ويندي آهي. ان جو مطلب اهو آهي ته انسان جي طاقت ان جي پنهنجي نه آهي. اها ان کي ڪنهن جي ڏيڻ سان ملندي آهي. اهو ڏيڻ واري جي اختيار ۾ آهي جو هو جڏهن چاهي ڏئي ۽ جڏهن چاهي واپس وٺي ڇڏي.

دنيا جي زندگي ۾ ماڻهو آخرت لاءِ فڪرمند نه هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته قيامت ان کي گھڻو پري جي شيءِ لڳندي آهي، پر اها رڳو بيخبري جي ڳالهه آهي. قيامت جڏهن ايندي ته ان کي ائين لڳندو جو صرف هڪ گھڙي پوئين دنيا ۾ رهڻ هو ۽ جلد ئي آخرت جي دنيا جو مرحلو پيش اچي ويو.

وَ لَقَدْ ضَرَبْنَا لِلنَّاسِ فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ ؕ وَ لَىِٕنْ جِئْتَهُمْ بِاٰيَةٍ لَّيَقُوْلَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْۤا اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا مُبْطِلُوْنَ ۝ كَذٰلِكَ يَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝ فَاصْبِرْ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّ لَا يَسْتَخِفَّنَّكَ الَّذِيْنَ لَا يُوْقِنُوْنَ ۝

۽ اسان هن قرآن ۾ ماڻهن لاءِ هر قسم جا مثال بيان ڪيا آهن ۽ جيڪڏهن تون انهن وٽ ڪا نشاني آڻين ته جن ماڻهن انڪار ڪيو آهي، اُهي اهوئي چوندا ته اوهين سڀ ڪوڙا آهيو. اهڙي طرح الله مُهر هڻندو آهي انهن ماڻهن جي دلين تي جيڪي نه ٿا ڄاڻن. پوءِ تون صبر ڪر. بيشڪ الله جو واعدو سچو آهي ۽ جيڪي ماڻهو يقين نه ٿا رکن، اهي توکي بي برداشت نه ڪن. ٥٨-٦٠

---

مکي ۾ ماڻهو چوندا هئا ته جيڪڏهن تون پيغمبر آهين ته ڪو معجزو ڏيکار. پر سندن ان مطالبي کي پورو نه ڪيو ويو. ان جو سبب اهو آهي ته معجزو اصل مقصد جي لحاظ کان بي فائده هو. اسلام جو مقصد ته اهو هو ته ماڻهن جي عمل ۾ تبديلي اچي ۽ عمل ۾ تبديلي فڪر جي تبديلي سان ايندي آهي نه وري ڪو ڪرشمو ڏيکاري ماڻهن کي حيران ڪري وجھڻ سان.

تنهن ڪري قرآن جو سڄو زور دليل تي آهي، قرآن دليل جي ذريعي انسان جي ذهن کي بدلڻ چاهي ٿو. قرآن ماڻهو کي ان قابل بڻائڻ چاهي ٿو جو هو واقعن کي صحيح رخ سان ڏسي ۽ معاملن ۾ صحيح راءِ قائم ڪري سگھي. حقيقت اها آهي ته انسان جو اصل مسئلو صحيح فڪر جو آهي. جيڪڏهن ماڻهو ۾ صحيح فڪر نه جاڳي ته ڪرشمن ۽ معجزن کي ڏسي هو ٻيهر ڪو ناسمجھي جو لفظ ڳالهائي ڇڏيندو، جهڙي طرح ان کان اڳ ۾ هو ناسمجھي جا لفظ ڳالهائيندو رهيو آهي.

لاعلمي جي ڪري مهر لڳڻ اصل ۾ صحيح فڪر نه هئڻ جي ڪري ڳالهين کي نه سمجھڻ آهي. ماڻهن جي اندر راءِ قائم ڪرڻ جي صلاحيت نه هجي ته هو شين کي انهن جي صحيح رخ کان نه ٿو ڏسي سگھي. ان ڪري اهو شين مان پنهنجي لاءِ صحيح رهنمائي به حاصل نه ٿو ڪري سگھي.

جيڪو الله جو ٻانهو ملاوٽ کان پاڪ حق جي دعوت کڻي اُٿي ته ان کي هميشه ماڻهن طرفان حوصلي کي ٽوڙيندڙ ردعمل کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. داعي آخرت جي ڳالهه ڪندو آهي، جڏهن ته ماڻهن جو ذهن دنيا جي مسئلن ۾ الجهيل هوندو آهي. ان ڪري ماڻهو داعي جي توهين ڪندا آهن، اهي ان کي هر لحاظ کان گھٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ايستائين جو سماج ۾ داعي جي ڳالهه بي وزن ڳالهه نظر اچڻ لڳي.

اها صورتحال مدعو سان گڏ داعي کي بہ آزمائش ۾ وجهي ڇڏيندي آهي. اهڙي وقت ۾ داعي لاءِ ضروري ٿي ويندو آهي جو هو پنهنجي يقين کي نہ وڃائي. جيڪڏهن حالتن جي دٻاءَ جي ڪري ان پنهنجي يقين کي وڃائي ڇڏيو تہ هو اهڙي ڳالهہ چوڻ لڳندو جيڪا عام ماڻهن کي شايد اهم لڳي، پر الله جي نظر ۾ ان ڪان وڌيڪ غيراهم ڳالهہ ٻي ڪابہ نہ هوندي.

## (٣١) سُوْرَةُ لُقْمٰنَ مَكِّيَّةٌ (٥٧)

اٰياتها ٣٤ — رکوعاتها ٤

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الٓمّٓ ۚ﴿۱﴾ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْحَكِيْمِ ۙ﴿۲﴾ هُدًى وَّ رَحْمَةً لِّلْمُحْسِنِيْنَ ۙ﴿۳﴾ الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ
الصَّلٰوةَ وَ يُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَ هُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ يُوْقِنُوْنَ ۗ﴿۴﴾ اُولٰٓىِٕكَ عَلٰى هُدًى مِّنْ رَّبِّهِمْ
وَ اُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۵﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

الف لام ميم هي حڪمت واري ڪتاب جون آيتون آهن هدايت ۽ رحمت نيڪي ڪرڻ وارن لاءِ جيڪي نماز قائم ڪندا آهن ۽ زڪوات ادا ڪندا آهن ۽ اُهي آخرت تي يقين رکندا آهن اهي ماڻهو پنهنجي رب جي سڌي رستي تي آهن ۽ اهي ئي ماڻهو فلاح پائڻ وارا آهن. ١-٥

---

احسان جو اصل مفهوم ڪنهن ڪم کي چڱي طرح ڪرڻ آهي. محسن جي معنيٰ آهي چڱي طرح ڪرڻ وارو. هن دنيا ۾ ڪنهن ڪم جي سٺي هئڻ جو معيار اهو آهي تہ اهو حقيقت جي مطابق هجي. ان لحاظ ڪان محسن اهو ماڻهو آهي جيڪو حقيقت جو اعتراف ڪري، جنهن جو عمل اهوئي هجي، جيڪو هجڻ گهرجي ۽ اهو نہ هجي جيڪو نہ هئڻ گهرجي.

جيڪي ماڻهو پنهنجي پاڻ کي حقيقت مطابق تبديل ڪرڻ جو مزاج رکن، اهي ئي اهي ماڻهو آهن جڏهن انهن جي سامهون صداقت ايندي آهي تہ اهي ڪنهن نفسياتي مونجهاري ۾ مبتلا ٿيڻ ڪان سواءِ ان کي مڃي وٺندا آهن. اهي فوراً ئي ان جا عملي تقاضا پورا ڪرڻ لڳندا آهن، اهي نمازي بڻجي ويندا آهن. جيڪو الله جو حق ادا ڪرڻ جي هڪ علامت آهي. اهي زڪوات ادا ڪندا آهن جيڪو چڻ تہ مال ۾ ٻانهن جو حق ادا ڪرڻ آهي، اهي دنيا پرستي کي ڇڏي آخرت پسند بڻجي ويندا آهن. ڇاڪاڻ تہ اهي ڄاڻندا آهن تہ ڪاميابي ۽ ناڪامي جو فيصلو جتي ٿيڻو آهي اِها آخرت ئي آهي.

وَ مِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْتَرِيْ لَهْوَ الْحَدِيْثِ لِيُضِلَّ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۖ وَّ
يَتَّخِذَهَا هُزُوًا ؕ اُولٰٓىِٕكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿۶﴾ وَ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا وَلّٰى مُسْتَكْبِرًا
كَاَنْ لَّمْ يَسْمَعْهَا كَاَنَّ فِيْٓ اُذُنَيْهِ وَقْرًا ۚ فَبَشِّرْهُ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿۷﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ

عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ جَنّٰتُ النَّعِيْمِۙ ﴿٨﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَاؕ وَعْدَ اللّٰهِ حَقًّاؕ وَ هُوَ الْعَزِيْزُ
الْحَكِيْمُ ﴿٩﴾

۽ ماڻهن ۾ ڪو اهڙو آهي جيڪو انهن ڳالهين جو خريدار بڻجي ٿو جيڪي غافل ڪرڻ واريون آهن، تہ جيئن الله جي راهہ کان گمراهہ ڪري بغير ڪنهن علم جي ۽ ان تي ٺٺولي ڪري، اهڙن ماڻهن لاءِ ذليل ڪرڻ وارو عذاب آهي ۽ جڏهن ان کي اسان جون آيتون پڙهيون وينديون آهن تہ هو تڪبر ڪندي منهن موڙي وٺندو آهي. ڄڻ ان پڌو ئي نہ، ڄڻ ان جي ڪنن ۾ بوڙاڻپ آهي. تنهن ڪري ان کي هڪ ڏکوئيندڙ عذاب جي خوشخبري ڏئي ڇڏ. بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن نيڪ ڪم ڪيا، سندن لاءِ نعمتن جا باغ آهن. انهن ۾ اهي هميشہ رهندا. اهو الله جو پڪو واعدو آهي ۽ اهو زبردست آهي حڪمت وارو آهي. ٦-٩

---

ڳالهيون ٻن قسم جون هونديون آهن. هڪ نصيحت ۽ ٻي تفريح. نصيحت جي ڳالهہ ذميداري جو احساس ڏياريندي آهي. اُها ماڻهو کي ڪجهہ ڪرڻ ۽ ڪجهہ نہ ڪرڻ لاءِ چوندي آهي. ان ڪري هر دور ۾ تمام گهٽ اهڙا ماڻهو هوندا آهن جيڪي نصيحت جي ڳالهين ۾ دلچسپي رکن، انسان جو عام مزاج هميشہ اهو رهيو آهي جو هو تفريح جي ڳالهين کي وڌيڪ پسند ڪري ٿو. اهو نصيحت جي ”ڪتاب“ جي مقابلي ۾ ان ڪتاب جو خريدار بڻجي ٿو، جنهن ۾ ان لاءِ ذهني تفريح جو سامان هجي ۽ اُها ان کي ڪجهہ ڪرڻ لاءِ نہ چئي.

جنهن ماڻهو جو حال اهو هجي جو هو پنهنجي ذات کان اڳيان وڌندي ٻين کي ان قسم جي تفريحي ڳالهين ۾ مشغول ڪرڻ لڳي، اهو وڏو مجرم آهي ڇاڪاڻ تہ اهو ان ذهني گمراهي جو اڳواڻ بڻجي ٿو. هن ماڻهن جي ذهن کي بي فائده ڳالهين ۾ مشغول ڪري انهن کي ان قابل نہ ڇڏيو جو اهي سنجيده ڳالهين ۾ ڌيان ڏئي سگهن.

سڀني کان بري نفسيات تڪبر جي نفسيات آهي. جيڪو ماڻهو تڪبر جي نفسيات ۾ مبتلا هجي، ان جي سامهون حق ايندو پر اُهو پاڻ کي وڏو سمجهڻ جي ڪري ان جو اعتراف نہ ڪندو. اهو ان کي حقارت سان نظرانداز ڪري اڳيان وڌي ويندو. ان جي ابتڙ معاملو ايمان وارن جو آهي. سندن نصيحت پسند مزاج انهن کي مجبور ڪندو آهي جو اهي سچائي جو اعتراف ڪن ۽ پنهنجي سڄي زندگي کي ان جي حوالي ڪري ڇڏين.

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ بِغَيْرِ عَمَدٍ تَرَوْنَهَا وَ اَلْقٰى فِي الْاَرْضِ رَوَاسِيَ اَنْ تَمِيْدَ بِكُمْ وَ بَثَّ فِيْهَا
مِنْ كُلِّ دَآبَّةٍؕ وَ اَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ زَوْجٍ كَرِيْمٍ ﴿١٠﴾ هٰذَا
خَلْقُ اللّٰهِ فَاَرُوْنِيْ مَا ذَا خَلَقَ الَّذِيْنَ مِنْ دُوْنِهٖؕ بَلِ الظّٰلِمُوْنَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿١١﴾

الله آسمانن کي پيدا ڪيو اهڙن ٿنڀن جي بغير جيڪي توهان کي ڏسڻ ۾ اچن ۽ زمين ۾ جبل وڌايائين تہ متان اوهان کي ڏوڏي ۽ ان ۾ هر قسم جا جاندار پکيڙيائين ۽ اسان آسمان تان پاڻي وسايو، پوءِ زمين ۾ هر قسم جي جنس جا سٺا اوڀڙ ڄمايا سون. اها آهي الله جي تخليق. پوءِ مون کي ڏيکاريو تہ جيڪي ان کان سواءِ آهن، انهن ڇا پيدا ڪيو آهي، بلڪ ظالم ماڻهو پڌري گمراهي ۾ آهن. ١٠-١١

---

ڪائنات اڻ ڪٽ خلا آهي. ان جي اندر بيشمار وڏا وڏا سياره مسلسل گردش ڪري رهيا آهن. انهن سيارن جو اهڙي طرح خلا ۾ گردش ڪندي قائم رهڻ حيرت انگيز حدتائين عظيم واقعو آهي، پوءِ اسان جي زمين موجوده ڪائنات ۾ هڪ انتهائي سيني ڪان مختلف سيارو آهي. جنهن ۾ بيشمار انتظامن جي ڪري ان تي انساني زندگي ڪي ممڪن بڻايو ويو آهي. انهن انتظامن ۾ ڪجهه هي آهن، زمين جي سطح تي جبلن ڪي اوياري توازن قائم ڪرڻ، پوءِ پاڻي ۽ حياتي ۽ نباتات جهڙين عجيب شين جو زمين تي وڏي مقدار ۾ موجود گي.

هڪ مثانهين الله ڪان سواءِ ڪير نہ آهي جيڪو هن عظيم نظام ڪي قائم رکي سگهي، پوءِ انسان لاءِ ڪيئن جائز ٿي سگهي ٿو جو اهي الله ڪان سواءِ ٻين شين ڪي پنهنجي عبادت جو مرڪز بڻائين.

وَ لَقَدْ اٰتَيْنَا لُقْمٰنَ الْحِكْمَةَ اَنِ اشْكُرْ لِلّٰهِ ۭ وَ مَنْ يَّشْكُرْ فَاِنَّمَا يَشْكُرُ لِنَفْسِهٖ ۚ وَ مَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ ﴿١٢﴾ وَ اِذْ قَالَ لُقْمٰنُ لِابْنِهٖ وَ هُوَ يَعِظُهٗ يٰبُنَيَّ لَا تُشْرِكْ بِاللّٰهِ ۭ اِنَّ الشِّرْكَ لَظُلْمٌ عَظِيْمٌ ﴿١٣﴾

۽ اسان لقمان ڪي حڪمت عطا فرمائي تہ الله جو شڪر ڪر ۽ جيڪو ماڻهو شڪر ڪندو تہ هو پنهنجي ئي لاءِ شڪر ڪندو ۽ جيڪو ناشڪري ڪندو تہ الله بي نياز آهي، خوبين وارو آهي ۽ جڏهن توهان پنهنجي پٽ ڪي نصيحت ڪندي چيو تہ اي منهنجا پٽڙا! الله سان شريڪ نہ ڪجانءِ. بيشڪ شرڪ تمام وڏو ظلم آهي. ١٢-١٣

---

لقمان حڪيم جي تاريخي حيثيت جي باري ۾ اجا تائين مڪمل معلومات حاصل نہ ٿي سگهي آهي، جيئن تہ هو هڪ دانش مند ۽ خداپرست ماڻهو هو.

قرآن ٻڌائي ٿو تہ لقمان حڪيم الله جو هڪ شڪرگذار ٻانهو هو ۽ پنهنجي پٽ ڪي ان شرڪ ڪان بچڻ جي تلقين ڪئي. اهي ٻئي ڳالهيون هڪ آهن، توحيد الله ڪي پنهنجو محسن سمجهڻ جي احساس سان پيدا ٿيندي آهي ۽ شرڪ اهو آهي تہ ماڻهو الله ڪان سواءِ ٻئي ڪي پنهنجو محسن سمجهي وٺي ۽ ان لاءِ پنهنجن احسان مندي وارن جذبن ڪي نڇاور ڪرڻ لڳي. جڏهن ڏيڻ وارو صرف هڪ آهي تہ شڪرگذاري بہ صرف هڪ جي ئي هئڻ گهرجي.

وَ وَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ ۚ حَمَلَتْهُ اُمُّهٗ وَهْنًا عَلٰى وَهْنٍ وَّ فِصٰلُهٗ فِيْ عَامَيْنِ اَنِ اشْكُرْ لِيْ وَ لِوَالِدَيْكَ ۭ اِلَيَّ الْمَصِيْرُ ﴿١٤﴾ وَ اِنْ جَاهَدٰكَ عَلٰٓى اَنْ تُشْرِكَ بِيْ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ۙ فَلَا تُطِعْهُمَا وَ صَاحِبْهُمَا فِي الدُّنْيَا مَعْرُوْفًا ۡ وَّ اتَّبِعْ سَبِيْلَ مَنْ اَنَابَ اِلَيَّ ۚ ثُمَّ اِلَيَّ مَرْجِعُكُمْ فَاُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٥﴾

۽ اسان انسان ڪي ان جي ماءُ پيءُ جي معاملي ۾ تاڪيد ڪئي. ان جي ماءُ ڏک تي ڏک ڪٽي ان ڪي پيٽ ۾ رکيو ۽ ٻن سالن ۾ ان جو کير ڇڏائڻ آهي، تہ تون منهنجو ۽ پنهنجي والدين جو شڪر ڪر. مون ڏانهن ئي موٽڻو آهي ۽ جيڪڏهن اهي ٻئي توتي زور وجهن تہ تون مون سان اهڙي شيءِ ڪي شريڪ ڪر، جنهن جي توکي ڄاڻ نہ آهي

تہ انهن جي ڳالھ نہ مڃجانءِ ۽ دنيا ۾ انهن سان نيڪ سلوڪ ڪجانءِ ۽ تون ان شخص جي رستي جي پيروي ڪجانءِ جنهن مون ڏانهن رجوع ڪيو آهي. پوءِ توهان سڀني کي مون وٽ اچڻو آهي. پوءِ آئون توهان کي ٻڌائيندس جيڪو ڪجھ توهان ڪندا هئا. ١٤-١٥

---

الله ڪان پوءِ انسان تي سڀني ڪان وڏيڪ حق ماءُ پيءُ جو آهي. البت جيڪڏهن ماءُ پيءُ جو حڪم الله جي حڪم سان ٽڪرائي تہ ان وقت الله جي حڪم کي وٺڻو آهي ۽ ماءُ پيءُ جي حڪم کي ڇڏي ڏيڻ آهي. جيئن تہ ان وقت بہ اهو ضروري آهي تہ ماءُ پيءُ جي خدمت کي پوءِ بہ جاري رکيو وڃي.

ٻن مختلف تقاضن ۾ اهو توازن اسلام جي حڪمت جي اعليٰ ترين مثال آهي ۽ ان ئي اعليٰ حڪمت ۾ سڀني اعليٰ ڪاميابين جو راز لڪيل آهي.

يٰبُنَيَّ اِنَّهَاۤ اِنۡ تَكُ مِثۡقَالَ حَبَّةٍ مِّنۡ خَرۡدَلٍ فَتَكُنۡ فِيۡ صَخۡرَةٍ اَوۡ فِي السَّمٰوٰتِ اَوۡ فِي
الۡاَرۡضِ يَاۡتِ بِهَا اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَطِيۡفٌ خَبِيۡرٌ ﴿۱۶﴾ يٰبُنَيَّ اَقِمِ الصَّلٰوةَ وَ اۡمُرۡ بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَ
انۡهَ عَنِ الۡمُنۡكَرِ وَ اصۡبِرۡ عَلٰى مَاۤ اَصَابَكَ ؕ اِنَّ ذٰلِكَ مِنۡ عَزۡمِ الۡاُمُوۡرِ ﴿۱۷﴾ وَ لَا تُصَعِّرۡ
خَدَّكَ لِلنَّاسِ وَ لَا تَمۡشِ فِي الۡاَرۡضِ مَرَحًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ كُلَّ مُخۡتَالٍ فَخُوۡرٍ ﴿۱۸﴾ وَ
اقۡصِدۡ فِيۡ مَشۡيِكَ وَ اغۡضُضۡ مِنۡ صَوۡتِكَ ؕ اِنَّ اَنۡكَرَ الۡاَصۡوَاتِ لَصَوۡتُ الۡحَمِيۡرِ ﴿۱۹﴾

اي منهنجا پٽڙا! ڪو عمل آهُر جي داڻي برابر هجي ۽ ڪنهن پٿر جي اندر هجي يا آسمانن ۾ هجي يا زمين ۾ هجي الله ان کي حاضر ڪندو. بيشڪ الله باريڪ بين خبر رکندڙ آهي. اي منهنجا پٽڙا! نماز قائم ڪر، چڱن ڪمن جي نصيحت ڪر ۽ برائي ڪان روڪ ۽ جيڪا مصيبت توکي پهچي ان تي صبر ڪر. بيشڪ اهي همت وارا ڪم آهن ۽ ماڻهن سان بي رخي نہ ڪر ۽ زمين ۾ آڪڙجي نہ هل. بيشڪ الله ڪنهن هٺيلي ۽ وڏائي ڪندڙ کي پسند نہ ٿو ڪري ۽ پنهنجي هلڻ ۾ وچٿري چال اختيار ڪر ۽ پنهنجو آواز جهڪو ڪر. بيشڪ سڀني ڪان بڇڙو آواز گڏھ جو آهي. ١٦-١٩

---

موجوده زماني ۾ سائنس جي ترقي ثابت ڪيو آهي تہ رڪاوٽون ۽ فاصلا اضافي لفظ آهن. ايڪسري جون شعاعون جسم جي اندر تائين ڏسي وٺنديون آهن. دوربيني ۽ خوردبيني جي ذريعي اهي شيون ڏسڻ ۾ اينديون آهن، جيڪي عام اک سان نظر نہ ٿيون اچن. اِهو تجربو جيڪو اسان کي محدود سطح تي ٿي رهيو آهي، اهوئي الله وٽ لامحدود طور تي موجود آهي.

دين تي پاڻ عمل ڪرڻ يا ٻين کي دين ڏانهن سڏڻ ٻئي صبر گهرن ٿا. ان لاءِ ڪرڻ ڪان پهرين سوچڻو پوي ٿو، نفس جي خواهش تي هلڻ جي بجاءِ نفس جي خلاف هلڻو پوي ٿو. پنهنجي وڏائي جي حفاظت ڪرڻ بجاءِ پنهنجي وڏائي کي وڃائڻو پوي ٿو. ٻين طرفان پيش اچڻ وارين تڪليفن کي هڪ طرفو برداشت ڪرڻو پوي ٿو.

اهي سڀ حوصلي جا ڪم آهن ۽ حوصلي مند ڪردار ئي جو ٻيو نالو اسلامي ڪردار آهي.

اَلَمْ تَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ سَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ وَ اَسْبَغَ عَلَيْكُمْ نِعَمَهٗ
ظَاهِرَةً وَّ بَاطِنَةً ؕ وَ مِنَ النَّاسِ مَنْ يُّجَادِلُ فِي اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ وَّ لَا هُدًى وَّ لَا كِتٰبٍ
مُّنِيْرٍ ﴿۲۰﴾ وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمُ اتَّبِعُوْا مَاۤ اَنْزَلَ اللّٰهُ قَالُوْا بَلْ نَتَّبِعُ مَا وَجَدْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا ؕ
اَوَ لَوْ كَانَ الشَّيْطٰنُ يَدْعُوْهُمْ اِلٰى عَذَابِ السَّعِيْرِ ﴿۲۱﴾

ڇا توهان نہ ٿا ڏسو تہ الله توهان جي ڪم ۾ لڳائي ڇڏيو آهي جيڪو ڪجهہ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو زمين ۾ آهي ۽ ان پنهنجون پڌريون ۽ ڳجهون نعمتون اوهان تي پوريون ڪيون ۽ ماڻهن ۾ اهڙا بہ آهن جيڪي الله جي باري ۾ جهڳڙو ڪندا آهن، ڪنهن علم ۽ ڪنهن هدايت ۽ ڪنهن روشن ڪتاب جي بغير ۽ جڏهن انهن کي چيو ويندو آهي تہ توهان پيروي ڪريو ان شيءِ جي جيڪا الله نازل ڪئي آهي تہ اهي چوندا آهن نہ. اسان ان شيءِ جي پيروي ڪنداسون جنهن تي اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي ڏٺو. ڇا جيڪڏهن شيطان انهن کي باهہ جي عذاب ڏانهن سڏي رهيو هجي تڏهن بہ. ٢٠-٢١

---

موجوده دنيا اهڙي طرح ٺهي آهي جو اُها انسان لاءِ ڪامل طورتي سازگار آهي. جيئن تہ موجوده دنيا ۾ هر اها شيءِ فراواني سان موجود آهي. جنهن جي انسانن کي ضرورت آهي. ان جي باوجود انسان جو اهو حال آهي جو هو ڪائنات جي خالق جو شڪر نہ ٿو ڪري. هو بي معنيٰ بحث پيدا ڪرڻ چاهيندو آهي تہ ماڻهن جي توجهہ الله تعاليٰ کان ڦيري ڇڏي.

انسان جي گمراهي جو اصل سبب اڪثر حالتن ۾ اهو هوندو آهي جو هو پنهنجي عقل کي ڪم ۾ نہ ٿو آڻي هو عام رواج کان هٽي ڪري نہ ٿو سوچي. ماڻهو جيڪڏهن رواجي سوچ کان الڳ ٿي غور ڪري تہ الله جو ڏنل عقل خود ان جي صحيح رخ ۾ رهنمائي ڪرڻ لاءِ ڪافي ٿي وڃي.

وَ مَنْ يُّسْلِمْ وَجْهَهٗۤ اِلَى اللّٰهِ وَ هُوَ مُحْسِنٌ فَقَدِ اسْتَمْسَكَ بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى ؕ وَ اِلَى اللّٰهِ
عَاقِبَةُ الْاُمُوْرِ ﴿۲۲﴾ وَ مَنْ كَفَرَ فَلَا يَحْزُنْكَ كُفْرُهٗ ؕ اِلَيْنَا مَرْجِعُهُمْ فَنُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا ؕ
اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿۲۳﴾ نُمَتِّعُهُمْ قَلِيْلًا ثُمَّ نَضْطَرُّهُمْ اِلٰى عَذَابٍ غَلِيْظٍ ﴿۲۴﴾

۽ جنهن ماڻهو پنهنجو رخ الله ڏانهن ڪيو ۽ اهو چڱن ڪمن ڪرڻ وارو بہ آهي تہ ان بيشڪ مضبوط رسي کي پڪڙيو ۽ الله ڏي ڏانهن سيني ڪمن جي پڇاڙي آهي ۽ جنهن انڪار ڪيو تہ ان جو انڪار توکي غمگين نہ ڪري. ڪين اسان ڏانهن ئي ورڻو آهي، پوءِ جيڪي ڪيائون تنهن جي ڪين سُڌ ڏينداسون. بيشڪ الله دلين جي ڳالهہ کان بہ واقف آهي. ڪين ٿورو وقت فائدو ڏينداسون، پوءِ ڪين سخت عذاب ڏانهن ڇڪي آڻينداسون. ٢٢-٢٤

---

هر ماڻهو جو هڪ رخ هوندو آهي. جيڏانهن هو پنهنجي پوري فڪر ۽ عمل سان متوجهہ رهندو آهي. مؤمن اهو آهي جنهن جو رخ پوري طرح الله ڏانهن هجي. مؤمن جي زندگي ٻين لفظن ۾ خدا رخي زندگي جو نالو آهي ۽ غيرمؤمناڻي زندگي غير خدا رخي زندگي جو.

جنهن ماڻهو الله ڏانهن رخ ڪيو، ان صحيح منزل ڏانهن رخ ڪيو. اهو بيشڪ سٺي انجام کي

پهچندو. ان جي ابتڙ جيڪو ماڻهو الله کان غافل ٿي ڪنهن ٻئي طرف توجه ڪري ته اهو بي رخ ۾ بي منزل ٿي ويو. ان کي دنياوي زندگي ۾ ڪجهه فائدا ملي سگهن ٿا، پر آخرت جي مستقل زندگي ۾ ان لاءِ عذاب کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي.

وَ لَىِٕنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ لَیَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ؕ قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ ؕ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا یَعْلَمُوْنَ ﴿۲۵﴾ لِلّٰهِ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِیُّ الْحَمِیْدُ ﴿۲۶﴾ وَ لَوْ اَنَّ مَا فِی الْاَرْضِ مِنْ شَجَرَةٍ اَقْلَامٌ وَّ الْبَحْرُ یَمُدُّهٗ مِنْۢ بَعْدِهٖ سَبْعَةُ اَبْحُرٍ مَّا نَفِدَتْ كَلِمٰتُ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِیْزٌ حَكِیْمٌ ﴿۲۷﴾

۽ جيڪڏهن تون انهن کان پڇين ته آسمانن ۽ زمين کي ڪنهن پيدا ڪيو ته هو ضرور چوندا ته الله. چئو ته سڀ تعريف الله جي لاءِ آهي، پر انهن مان اڪثر نه ٿا ڄاڻن. الله ئي جو آهي جيڪو ڪجهه آسمانن ۾ آهي ۽ زمين ۾. بيشڪ الله بي نياز آهي، خوبين وارو آهي ۽ جيڪڏهن زمين ۾ جيڪي وڻ آهن سي قلم بڻجي وڃن ۽ سمنڊ ان کان پوءِ ست سمنڊ (ٻيا به) مس بڻجي وڃن، تڏهن به الله جون ڳالهيون ختم نه ٿين. بيشڪ الله زبردست آهي. حڪمت وارو آهي. ٢٥-٢٧

---

ڪائنات ايتري وسيع ۽ ايتري عظيم آهي جو ڪو به ماڻهو هوش ۽ حواس سان اها دعويٰ نه ٿو ڪري سگهي ته ان کي الله تعاليٰ کان سواءِ ٻي ڪنهن بڻايو آهي. پر هن حقيقت کي مڃڻ جي باوجود انسان جو حال اهو آهي جو هو الله کان سواءِ ٻين شين کي عظمت جو مقام ڏئي ٿو. اهو ئي اُهو غلط رويو آهي جنهن جو ٻيو نالو شرڪ آهي.

الله جي عظمت ان کان وڌيڪ آهي جو اها لفظن ۾ بيان ڪري سگهجي. طبعي علم جي تاريخ هزارن سالن کان هلندي پئي اچي، پر بيشمار تحقيق جي باوجود اجا تائين ڪنهن هڪ شيءِ جي باري ۾ به پوري معلومات حاصل نه ٿي سگهي، انسان کي اجا تائين اها به خبر نه آهي ته خلا ۾ ڪيترا ستارا آهن. زمين ۾ نباتات ۽ حيوانات جا ڪيترا قسم آهن. وڻ جي هڪ پني ۽ واري جي هڪ ذري جي حقيقت ڇا آهي. سمنڊ جي اندر ڪيترا عجائب لڪيل آهن. غرض هن دنيا جي ڪا به ننڍي يا وڏي شيءِ اهڙي نه آهي جنهن جي باري ۾ انسان کي پوري معلومات حاصل ٿي وئي هجي. اهوئي واقعو هي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي ته وڻن جا قلم ۽ سمنڊن جي مس به الله جي اڻ ڪٽ ڪرشمن کي تحرير ڪرڻ لاءِ ڪافي نه آهي.

مَا خَلْقُكُمْ وَ لَا بَعْثُكُمْ اِلَّا كَنَفْسٍ وَّاحِدَةٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِیْعٌۢ بَصِیْرٌ ﴿۲۸﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ یُوْلِجُ الَّیْلَ فِی النَّهَارِ وَ یُوْلِجُ النَّهَارَ فِی الَّیْلِ وَ سَخَّرَ الشَّمْسَ وَ الْقَمَرَ ؗ كُلٌّ یَّجْرِیْۤ اِلٰۤی اَجَلٍ مُّسَمًّی وَّ اَنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِیْرٌ ﴿۲۹﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ وَ اَنَّ مَا یَدْعُوْنَ
ع ٣ ١٢ مِنْ دُوْنِهِ الْبَاطِلُ ۙ وَ اَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْعَلِیُّ الْكَبِیْرُ ﴿۳۰﴾

توهان سڀني جو پيدا ڪرڻ ۽ زنده ڪرڻ بس اهڙو ئي آهي جيئن هڪ ماڻهو جو. بيشڪ الله ٻڌڻ وارو، ڏسڻ وارو آهي. ڇا تو نہ ڏٺو تہ الله رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪري ٿو ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪري ٿو ۽ ان سج ۽ چنڊ کي ڪم ۾ لڳائي ڇڏيو آهي. هر هڪ هلي ٿو هڪ مقرر وقت تائين ۽ جيڪو ڪجهہ توهان ڪريو ٿا الله ان کان باخبر آهي. اهو ان ڪري جو الله ئي حق آهي ۽ ان کان سواءِ جن شين کي اهي سڏيندا آهن، اهي باطل آهن ۽ بيشڪ الله تمام مٿانهون ۽ وڏو آهي. ٢٨-٣٠

---

انسان پنهنجي ذات ۾ ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ هڪ زندگي جو وجود ۾ اچڻ ممڪن آهي ۽ جڏهن هڪ زندگي جو وجود ممڪن هجي تہ ان ئي قسم جي ٻين زندگين جو وجود ۾ اچڻ بہ ممڪن ٿي ويندو آهي. اهڙي طرح هر ماڻهو ان حقيقت جو تجربو ڪري رهيو آهي تہ جو هو هڪ آواز کي ٻڌي سگهي ٿو. اهو هڪ منظر کي ڏسي سگهي ٿو. پوءِ جڏهن هڪ آواز جو ٻڌڻ ۽ هڪ منظر جو ڏسڻ ممڪن هجي تہ گهڻن آوازن کي ٻڌڻ ۽ ڪيترائي منظر ڏسڻ ناممڪن ڇو هوندا.

رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪرڻ ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪرڻ ان واقعي ڏانهن اشارو آهي جنهن کي موجوده دنيا ۾ زمين جي پنهنجي محور تي گردش چيو ويندو آهي، پنهنجي محور تي بلڪل صحيح طريقي تي زمين جي مسلسل گردش ۽ اهڙي طرح ٻيا واقعا ٻڌائين ٿا تہ هن ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ ناقابل قياس حد تائين عظيم آهي. اهڙي حالت ۾ ان کان سواءِ ڪير آهي جنهن جي عبادت ڪئي وڃي. جنهن کي پنهنجي زندگي ۾ وڏائي جو مقام ڏنو وڃي. حقيقت اها آهي تہ هڪ الله کي ڇڏي جنهن کي بہ عظمت جو مقام ڏنو ويندو آهي، اهو صرف هڪ ڪوڙ هوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ هڪ الله کان سواءِ ڪنهن کي ڪا عظمت حاصل نہ آهي.

اَلَمۡ تَرَ اَنَّ الۡفُلۡكَ تَجۡرِىۡ فِى الۡبَحۡرِ بِنِعۡمَتِ اللّٰهِ لِيُرِيَكُمۡ مِّنۡ اٰيٰتِهٖ ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوۡرٍ ﴿۳۱﴾ وَاِذَا غَشِيَهُمۡ مَّوۡجٌ كَالظُّلَلِ دَعَوُا اللّٰهَ مُخۡلِصِيۡنَ لَهُ الدِّيۡنَ ۚ فَلَمَّا نَجّٰهُمۡ اِلَى الۡبَرِّ فَمِنۡهُمۡ مُّقۡتَصِدٌ ؕ وَمَا يَجۡحَدُ بِاٰيٰتِنَاۤ اِلَّا كُلُّ خَتَّارٍ كَفُوۡرٍ ﴿۳۲﴾

ڇا تو نہ ڏٺو تہ ٻيڙي سمنڊ ۾ الله جي فضل سان هلندي آهي، تہ جيئن هو توهان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاري. بيشڪ ان ۾ نشانيون آهن هر صبر ڪرڻ واري، شڪر ڪرڻ واري جي لاءِ ۽ جڏهن (دريا جي) لهر سندن مٿان ڇانوَ وارن پهاڙن وانگر ويڙهيندي آهي تہ اهي الله کي سڏيندا آهن، ان لاءِ دين کي خالص ڪندي. پوءِ جڏهن هو انهن کي نجات ڏئي خشڪي ڏانهن آڻيندو آهي تہ انهن مان ڪجهہ وچٿرو رهندا آهن ۽ اسان جي نشانين جو انڪار اهي ماڻهو ڪندا آهن جيڪي انجام ڀڃيندڙ ۽ بي شڪرا هوندا آهن. ٣١-٣٢

---

سمنڊ ۾ ڪا شيءِ وڌي وڃي تہ اها يڪدم ٻڏي ويندي، پر الله تعاليٰ پاڻي کي هڪ خاص قانون جو پابند بڻائي رکيو آهي. ان ڪري ٻيڙي ۽ جهاز سمنڊ ۾ نہ ٿا ٻڏن، اهي انسان کي ۽ ان جي سامان کي حفاظت سان هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تائين پهچائيندا آهن. اها بيشڪ هڪ عظيم نشاني آهي، پر ان نشاني مان رڳو صابر ۽ شاڪر ماڻهو سبق وٺندا آهن. صابر اهو آهي جيڪو خود کي غلط احساسن جي زير اثر وڃڻ کان روڪي ۽ شاڪر اهو آهي جيڪو پاڻ کان ٻاهر موجود حقيقت جو اعتراف ڪري سگهي.

جڏهن سمنڊ ۾ طوفان ايندو آهي ته ماڻهو کي خبر پئجي ويندي آهي ته هو ڪيتري قدر بيوس آهي. ان وقت اهو هر ڪنهن جي وڏائي کي وساري صرف خدا کي سڏڻ لڳندو آهي، اهو تجربو جيڪو ٻيڙي جي مسافرن کي پيش ايندو آهي ان مان ماڻهن کي سبق وٺڻ گهرجي، پر تمام گهٽ ماڻهو آهن جيڪي ان واقعي مان سبق وٺن ۽ حق ۽ عدل جي راهه تي قائم رهن. اڪثر ماڻهن جو حال اهو آهي ته مصيبت ۾ الله کي ياد ڪري ورتو ۽ مصيبت ختم ٿي وئي ته ٻيهر سرڪشي ۽ احسان فراموش بڻجي ويا.

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمْ وَ اخْشَوْا يَوْمًا لَّا يَجْزِيْ وَالِدٌ عَنْ وَّلَدِهٖ ۟ وَ لَا مَوْلُوْدٌ هُوَ جَازٍ عَنْ وَّالِدِهٖ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ٙ وَ لَا يَغُرَّنَّكُمْ بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ ۳۳ اِنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗ عِلْمُ السَّاعَةِ ۚ وَ يُنَزِّلُ الْغَيْثَ ۚ وَ يَعْلَمُ مَا فِي الْاَرْحَامِ ؕ وَ مَا تَدْرِيْ نَفْسٌ مَّا ذَا تَكْسِبُ غَدًا ؕ وَ مَا تَدْرِيْ نَفْسٌۢ بِاَيِّ اَرْضٍ تَمُوْتُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ خَبِيْرٌ ۳۴ ع ۱۳

اي انسانو! پنهنجي رب کان ڊڄو ۽ ان ڏينهن کان ڊڄو جڏهن ڪو پيءُ پنهنجي پٽ طرفان بدلو نه ڏيندو ۽ نه ڪو پٽ پنهنجي پيءُ طرفان ڪجهه بدلو ڏيڻ وارو هوندو. بيشڪ الله جو واعدو سچو آهي ته دنيا جي زندگي توهان کي دوکي ۾ نه وجهي ۽ نه دوکو ڏيندڙ توهان کي الله بابت دوکو ڏي. بيشڪ الله ئي کي قيامت جو علم آهي ۽ اهوئي مينهن وسائي ٿو ۽ اهوئي ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهه رحم (پيٽن) ۾ آهي ۽ ڪو ماڻهو نه ٿو ڄاڻي ته سڀاڻي هو ڪهڙي ڪمائي ڪندو ۽ ڪو ماڻهو نه ٿو ڄاڻي جو هو ڪهڙي زمين تي مرندو. بيشڪ الله ڄاڻندڙ خبر رکندڙ آهي. ۳۳-۳٤

---

موجوده دنيا ۾ امتحان جي ڪري ماڻهن کي آزادي ڏني وئي آهي. ان امتحاني آزادي کي ماڻهو حقيقي آزادي سمجهي وٺي ٿو. اهوئي سڀني کان وڏو دوکو آهي. سڀئي انساني برايون ان ئي دوکي جي ڪري پيدا ٿينديون آهن. دنيا ۾ بظاهر ايئن لڳندو آهي ته انسان جيڪو چاهي سو ڪري، ڪو ان کي پڪڙڻ وارو نه آهي. حالانڪ آخرڪار ماڻهو تي اهڙو سخت وقت اچڻ وارو آهي جو پيءُ ۽ پٽ به هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيڻ وارا نه بڻجي سگهندا.

”قيامت اچڻ واري آهي ته اها ڪڏهن ايندي؟“ اهڙو سوال ڪرڻ پنهنجي حد کان لنگهڻ آهي. انسان پنهنجي دنيا جي باري ۾ به سڀاڻي جي خبر نه ٿو رکي. مثلاً مينهن، پيٽ ۾ ٻار، معاشي مستقبل، موت، انهن شين جي باري ۾ ڪا قطعي اڳڪٿي نه ٿي ڪري سگهجي، ان علمي محدوديت جي باوجود پوءِ به انسان انهن حقيقتن جي واقع ٿيڻ کي مڃيندو آهي. اهڙي طرح قيامت جي گهڙي جي باري ۾ به ان کي مختصر خبر جي بنياد تي يقين ڪرڻ گهرجي.

ايٰاتها٣٠ (٣٢) سُوۡرَةُ السَّجۡدَةِ مَكِّيَّةٌ (٧٥) رڪوعاتها٣

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الٓمّٓ ۚ﴿۱﴾ تَنۡزِيۡلُ الۡكِتٰبِ لَا رَيۡبَ فِيۡهِ مِنۡ رَّبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ؕ﴿۲﴾ اَمۡ يَقُوۡلُوۡنَ افۡتَرٰىهُ ۚ بَلۡ هُوَ
الۡحَقُّ مِنۡ رَّبِّكَ لِتُنۡذِرَ قَوۡمًا مَّاۤ اَتٰىهُمۡ مِّنۡ نَّذِيۡرٍ مِّنۡ قَبۡلِكَ لَعَلَّهُمۡ يَهۡتَدُوۡنَ ﴿۳﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

الف لام ميم. هي نازل ٿيل ڪتاب آهي ان ۾ ڪو شڪ نه آهي رب العالمين جي طرفان آهي. ڇا اهي چون ٿا ته هن شخص ان کي خود گهڙي ورتو آهي. بلڪ اهو حق آهي تنهنجي رب طرفان، ته جيئن تون انهن ماڻهن کي ڊيڄارين جن وٽ تو کان اڳ ۾ ڪو ڊيڄارڻ وارو نه آيو، ته جيئن اهي راهه لهن. ١-٣

---

”هي خدا جو ڪتاب آهي.“ بظاهر اهو ڪجهه لفظن جو هڪ جملو آهي، پر اهو ايترو مشڪل جملو آهي جو تاريخ ۾ اهو جملو چوڻ جي همت حقيقي طور تي ان خاص ماڻهن کان سواءِ ڪنهن ڪي نه ٿي سگهي جن تي حقيقت ۾ الله جو ڪتاب نازل ٿيو هو. جيڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ٻئي ماڻهو اهو جملو ڳالهائڻ جي جرائت ڪئي ته اهو يا ته مسخرو هو يا چريو ۽ ان جو مسخرو يا چريو هئڻ بعد ۾ پوري طرح ثابت ٿي ويو.

قرآن پنهنجو ثبوت پاڻ آهي. ان جو معجزاتي اسلوب ان جي ڪنهن ڳالهه جو سون سالن ۾ غلط ثابت نه ٿيڻ، ان جو پنهنجن مخالفن تي پوري طرح غالب اچڻ، هي ۽ اهڙي طرح جا ٻيا واقعا ان ڳالهه جو قطعي ثبوت آهن ته قرآن الله طرفان آيل ڪتاب آهي ۽ جڏهن اهو خدا جو ڪتاب آهي ته لازم آهي ته هر ماڻهو ان جي خبرن تي ڌيان ڏي ۽ انتهائي سنجيدگي سان ان تي غور ڪري.

اَللّٰهُ الَّذِيۡ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ وَ مَا بَيۡنَهُمَا فِيۡ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسۡتَوٰى عَلَى الۡعَرۡشِ ؕ
مَا لَكُمۡ مِّنۡ دُوۡنِهٖ مِنۡ وَّلِيٍّ وَّ لَا شَفِيۡعٍ ؕ اَفَلَا تَتَذَكَّرُوۡنَ ﴿۴﴾ يُدَبِّرُ الۡاَمۡرَ مِنَ السَّمَآءِ اِلَى
الۡاَرۡضِ ثُمَّ يَعۡرُجُ اِلَيۡهِ فِيۡ يَوۡمٍ كَانَ مِقۡدَارُهٗۤ اَلۡفَ سَنَةٍ مِّمَّا تَعُدُّوۡنَ ﴿۵﴾ ذٰلِكَ عٰلِمُ
الۡغَيۡبِ وَ الشَّهَادَةِ الۡعَزِيۡزُ الرَّحِيۡمُ ۙ﴿۶﴾ الَّذِيۡۤ اَحۡسَنَ كُلَّ شَيۡءٍ خَلَقَهٗ وَ بَدَاَ خَلۡقَ
الۡاِنۡسَانِ مِنۡ طِيۡنٍ ۚ﴿۷﴾ ثُمَّ جَعَلَ نَسۡلَهٗ مِنۡ سُلٰلَةٍ مِّنۡ مَّآءٍ مَّهِيۡنٍ ۚ﴿۸﴾ ثُمَّ سَوّٰىهُ وَ نَفَخَ
فِيۡهِ مِنۡ رُّوۡحِهٖ وَ جَعَلَ لَكُمُ السَّمۡعَ وَ الۡاَبۡصَارَ وَ الۡاَفۡـِٕدَةَ ؕ قَلِيۡلًا مَّا تَشۡكُرُوۡنَ ﴿۹﴾

الله ئي آهي جنهن پيدا ڪيو آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪو انهن جي وچ ۾ آهي ڇهن ڏينهن ۾ پوءِ هو عرش تي قائم ٿيو. ان کان سواءِ نه توهان جو ڪو مددگار آهي ۽ نه ڪو سفارش ڪرڻ وارو. پوءِ ڇا توهان نصيحت نه ٿا وٺو. هو آسمان کان زمين ڏانهن سيني معاملن جي تبدير ڪندو آهي، پوءِ اهي ان ڏانهن موٽندا آهن، هڪ اهڙي ڏينهن

۾ جنهن جو مقدار توهان جي ڳڻپ سان هزار سال جي برابر آهي. اهوئي ڳجهه ۽ ظاهر کي ڄاڻڻ وارو آهي. غالب آهي، رحمت وارو آهي. ان جيڪا بہ شيءِ پيدا ڪئي سا سڀ کان چڱي طرح بڻائي ۽ ان انسان جي تخليق جي ابتدا مٽي سان ڪئي، پوءِ ان جي نسل حقير پاڻي جي نچوڙ مان بڻائي. پوءِ ان جا عضوا درست ڪيائين ۽ ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيائين. توهان لاءِ ڪن اکيون ۽ دل بڻايائين. توهان تمام گهٽ شڪر ڪندا آهيو. ٤-٩

---

ڇهن ڏينهن (ڇهہ دور) ۾ پيدا ڪرڻ مان مراد تدريج ۽ اهتمام سان پيدا ڪرڻ آهي. ڪائنات جي تدريجي تخليق ۽ ان جو حڪمت وارو نظام ٻڌائي ٿو تہ ان تخليق مان خالق جو ڪو خاص مقصد آهي. پوءِ ڪائنات ۾ مسلسل طور تي بيشمار عمل جاري آهن. ان مان اهو ثابت ٿيندو آهي تہ ڪائنات کي پيدا ڪرڻ وارو ان کي هڪ منصوبي تحت هلائي رهيو آهي. انسان هڪ حيرت انگيز قسم جو زنده وجود آهي، پر ان جي جسم جو تجزيو ڪيو وڃي تہ معلوم ٿيندو تہ اهو صرف مٽي (ارضي جزن) جو مرڪب آهي. پوءِ اها ابتدائي تخليق ختم نہ ٿي ٿئي، بلڪ ماءُ پيءُ جي ذريعي ان جو سلسلو مستقل طور تي جاري آهي.

انهن واقعن تي جيڪو ماڻهو غور ڪندو، ان جي ذهن مان هڪ الله جي عظمت کان سواءِ ٻيون سڀئي عظمتون ختم ٿي وينديون. هو خدا جو شڪرگذار ٻانهو بڻجي ويندو. پر تمام گهٽ ماڻهو آهن جيڪي گهرائي سان غور فڪر ڪن، اهوئي سبب آهي تہ تمام گهٽ ماڻهو آهن جيڪي حمد ۽ شڪر ڪرڻ وارا ٿين.

وَ قَالُوْٓا ءَاِذَا ضَلَلْنَا فِي الْاَرْضِ ءَاِنَّا لَفِيْ خَلْقٍ جَدِيْدٍ ۬ؕ بَلْ هُمْ بِلِقَآئِ رَبِّهِمْ
كٰفِرُوْنَ۝۱۰ قُلْ يَتَوَفّٰىكُمْ مَّلَكُ الْمَوْتِ الَّذِيْ وُكِّلَ بِكُمْ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ تُرْجَعُوْنَ۝۱۱ وَلَوْ ع ۱۴
تَرٰٓى اِذِ الْمُجْرِمُوْنَ نَاكِسُوْا رُءُوْسِهِمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ؕ رَبَّنَآ اَبْصَرْنَا وَ سَمِعْنَا فَارْجِعْنَا
نَعْمَلْ صَالِحًا اِنَّا مُوْقِنُوْنَ۝۱۲ وَ لَوْ شِئْنَا لَاٰتَيْنَا كُلَّ نَفْسٍ هُدٰىهَا وَ لٰكِنْ حَقَّ الْقَوْلُ
مِنِّيْ لَاَمْلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنَ الْجِنَّةِ وَ النَّاسِ اَجْمَعِيْنَ۝۱۳ فَذُوْقُوْا بِمَا نَسِيْتُمْ لِقَآءَ
يَوْمِكُمْ هٰذَا ۚ اِنَّا نَسِيْنٰكُمْ وَ ذُوْقُوْا عَذَابَ الْخُلْدِ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ۝۱۴

۽ انهن چيو تہ ڇا جڏهن اسان زمين ۾ رلي ملي وينداسون تہ (ڇا) وري اسان نئين سر پيدا ڪيا وينداسون، بلڪ اهي پنهنجي رب سان ملاقات جا منڪر آهن. چئو تہ موت جو فرشتو توهان جي جان قبض ڪندو آهي جيڪو توهان تي مقرر ڪيو ويو آهي. پوءِ توهان پنهنجي رب ڏانهن موٽايا ويندو ۽ ڪاش تون ڏسين جڏهن تہ اهي مجرم ماڻهو پنهنجي رب جي اڳيان سرجهڪائي (بيٺل) هوندا. اي اسان جا رب! اسان ڏسي ورتو ۽ اسان ٻڌي ورتو. تون اسان کي واپس موڪل تہ اسان نيڪ ڪم ڪريون. اسان يقين ڪرڻ وارا بڻجي ويا آهيون ۽ جيڪڏهن اسان چاهيون ها تہ هر ماڻهو کي هدايت ڪريون ها، پر منهنجي ڳالهہ ثابت ٿي چڪي آهي تہ آئون جهنم کي جنن ۽ انسانن سان ڀري ڇڏيندس. پوءِ هاڻي مزو چکو ان ڳالهہ جو توهان هن ڏينهن جي ملاقات کي وساري ڇڏيو، اسان بہ توهان کي وساري ڇڏيو آهي ۽ جيڪي ڪندا هيو تنهن سببان هميشہ جو عذاب چکيو. ١٠-١٤

---

انسان جي اول تخليق ان جي ٻيهر تخليق جي معاملي کي سمجهڻ لاءِ بلڪل ڪافي آهي، پر جڏهن الله جي سامهون حساب ڏيڻ جو يقين نہ هجي تہ ماڻهو ٻيهر جيئرو ٿيڻ جو مذاق اڏائيندو آهي. هو

غير سنجيده طورتي مختلف ڳالهيون كندو آهي.

پر اها همت رڳو ان وقت تائين جي لاءِ آهي. جيستائين ماڻهو كي امتحان لاءِ مليل آزادي جو وقت ختم نہ ٿو ٿئي. جڏهن اِهو وقت ختم ٿي ويندو ۽ ماڻهو مري خداءِ ذوالجلال جي سامهون حساب لاءِ پيش ٿيندو تہ ان جون سيئي ڳالهيون گم ٿي وينديون. ان وقت سركش ماڻهو چوندا تہ اسان ميجي ورتو. اسان كي ٻيهر زمين ۾ موكلي ڇڏ، تہ جيئن اسان نيک عمل كريون. پر انهن جو اهو مڃڻ بي فائدي هوندو. الله تعاليٰ كي جيكڏهن اهڙي طرح مڃرائڻو هجي ها تہ هو دنيا ۾ ئي ماڻهن كي مڃڻ تي مجبور كري ڇڏي ها.

الله وٽ ان مڃڻ جي قيمت آهي جيكو بغير ڏٺي مڃيو وڃي. ڏسڻ كان پوءِ جي مڃڻ جي كا قيمت نہ آهي.

اِنَّمَا يُؤۡمِنُ بِاٰيٰتِنَا الَّذِيۡنَ اِذَا ذُكِّرُوۡا بِهَا خَرُّوۡا سُجَّدًا وَّ سَبَّحُوۡا بِحَمۡدِ رَبِّهِمۡ وَ هُمۡ لَا
السجدة ٩ يَسۡتَكۡبِرُوۡنَ ۩ ﴿۱۵﴾ تَتَجَافٰى جُنُوۡبُهُمۡ عَنِ الۡمَضَاجِعِ يَدۡعُوۡنَ رَبَّهُمۡ خَوۡفًا وَّ طَمَعًا ۫ وَّ مِمَّا
رَزَقۡنٰهُمۡ يُنۡفِقُوۡنَ ﴿۱۶﴾ فَلَا تَعۡلَمُ نَفۡسٌ مَّاۤ اُخۡفِىَ لَهُمۡ مِّنۡ قُرَّةِ اَعۡيُنٍ ۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوۡا
يَعۡمَلُوۡنَ ﴿۱۷﴾

اسان جي آيتن تي اُهي ماڻهو ايمان آڻيندا آهن جن كي انهن آيتن سان جڏهن نصيحت كئي ويندي آهي تہ اهي سجدي ۾ كري پوندا آهن ۽ پنهنجي رب جي حمد سان گڏ ان جي تسبيح كندا آهن ۽ اُهي تكبر نہ ٿا كن. سندن پاسا سمهڻ جي هنڌ كان الڳ رهندا آهن. اهي پنهنجي رب كي خوف ۽ اميد سان سڏيندا آهن ۽ جيكو كجھ اسان انهن كي ڏنو آهي، ان مان خرچ كندا آهن. پوءِ كنهن جيءَ كي خبر نہ آهي تہ انهن ماڻهن لاءِ سندن عملن جي بدلي ۾ اكين جو كهڙو ٺار لكايو ويو آهي. ١٥-١٧

هدايت جي سلسلي ۾ سيني كان اهم شيءِ اعتراف يا مڃڻ آهي. هدايت صرف انهن ماڻهن كي ملندي آهي جن جي اندر اهو مزاج هجي تہ جڏهن سچائي سندن سامهون اچي تہ اهي فوراً ان كي مڃي وٺن. چاهي سچائي بظاهر هک گهٽ حيثيت جي ماڻهو ذريعي سامهون اچي. چاهي ان كي مڃڻ ۾ پنهنجي پاڻ كي غلط تسليم كرڻو پوي، چاهي ان كي مڃڻ ۾ پنهنجي زندگي جو نقشو تباهہ ٿيندي نظر اچي. جن ماڻهن جي اندر اهو حوصلو هوندو آهي انهن كي ئي سچائي ملندي آهي. جيكي ماڻهو اهو چاهين تہ اهي سچائي كي اهڙي طرح مڃين جو سندن وڏائي بہ قائم رهي تہ اهڙن ماڻهن كي سچائي كڏهن بہ نہ ملندي.

جيكو ماڻهو حق جي كري پنهنجي وڏائي وڃائي ڇڏي، اهو سيني كان وڏي شيءِ كي حاصل كري وٺندو آهي ۽ اها الله جي وڏائي آهي. ان جي زندگي ۾ الله اهڙي طرح شامل ٿي ويندو آهي جو هو ان جي يادن سان سمهي ۽ اهو ان جي يادن سان جاڳي، ان جي خوف ۽ اميد جا جذبا خدا سان وابستہ ٿي وڃن. هو پنهنجو مال اهڙي طرح خدا جي حوالي كري ڇڏيندو آهي جو ان مان كجھ بچائي نہ ٿو ركي. اهي ئي اُهي ماڻهو آهن جن جون اكيون جنت جي باغن ۾ ٺڏيون ٿينديون.

وقف غفران
اَفَمَنْ كَانَ مُؤْمِنًا كَمَنْ كَانَ فَاسِقًا ؕ لَا يَسْتَوٗنَ ﴿۱۸﴾ اَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ
فَلَهُمْ جَنّٰتُ الْمَاْوٰى ۫ نُزُلًۢا بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۹﴾ وَ اَمَّا الَّذِيْنَ فَسَقُوْا فَمَاْوٰىهُمُ النَّارُ ؕ
كُلَّمَاۤ اَرَادُوْۤا اَنْ يَّخْرُجُوْا مِنْهَاۤ اُعِيْدُوْا فِيْهَا وَ قِيْلَ لَهُمْ ذُوْقُوْا عَذَابَ النَّارِ الَّذِيْ
كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ ﴿۲۰﴾ وَ لَنُذِيْقَنَّهُمْ مِّنَ الْعَذَابِ الْاَدْنٰى دُوْنَ الْعَذَابِ الْاَكْبَرِ
لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿۲۱﴾ وَ مَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ ذُكِّرَ بِاٰيٰتِ رَبِّهٖ ثُمَّ اَعْرَضَ عَنْهَا ؕ اِنَّا مِنَ
ع ٢ / ١١ / ١٥ الْمُجْرِمِيْنَ مُنْتَقِمُوْنَ ﴿۲۲﴾ ع

ته ڇا جيڪو مؤمن آهي اهو ان ماڻهو وانگر هوندو جيڪو نافرمان آهي. ٻئي برابر نه ٿا ٿي سگهن. جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن چڱا ڪم ڪيا ته تن لاءِ جنت ۾ جايون آهن. انهن ڪمن جي سبب جيڪي اهي ڪندا هئا ۽ جن ماڻهن نافرماني ڪئي ته سندن ٺڪاڻو باهه آهي، اهي جڏهن ان مان نڪرڻ چاهيندا ته وري ان ۾ ڌڪيا ويندا ۽ انهن کي چيو ويندو ته باهه جو عذاب چکو جنهن کي توهان ڪوڙو ڀائيندا هئا ۽ اسان انهن کي وڏي عذاب کان پهرين هلڪو عذاب چکائينداسون ته من اهي رجوع ڪن ۽ ان ماڻهو کان وڌيڪ ظالم ڪير هوندو جنهن کي ان جي رب جي آيتن ذريعي نصيحت ڪئي وڃي، پوءِ هو انهن کان منهن موڙي، اسان اهڙن مجرمن کان ضرور بدلو وٺنداسون. ١٨-٢٢

---

مومن اهو آهي جيڪو خدائي سچائي جو اعتراف ڪري ۽ فاسق اهو آهي جنهن جي سامهون سچائي اچي ته هو پنهنجي ذات جي تحفظ لاءِ ان جو انڪار ڪري ڇڏي. اهي ٻئي هڪ ٻئي کان بلڪل مختلف ڪردار آهن ۽ پڻ مختلف ڪردارن جو انجام هڪ جهڙو نه ٿو ٿي سگهي.

موجوده دنيا ۾ جيڪو ماڻهو سچائي جو اعتراف ڪري ٿو، اهو ان ڳالهه جو ثبوت ڏئي ٿو ته اهو سچائي کي سيني کان وڏي شيءِ سمجهي ٿو. اهڙو ماڻهو آخرت ۾ وڏو بڻايو ويندو. ان جي ابتڙ جيڪو ماڻهو سچائي کي نظرانداز ڪري ڇڻ ان پنهنجي ذات کي وڏو سمجهيو. اهڙو ماڻهو آخرت جي حقيقي دنيا ۾ بي حيثيت بڻايو ويندو.

وَ لَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ فَلَا تَكُنْ فِيْ مِرْيَةٍ مِّنْ لِّقَآئِهٖ وَ جَعَلْنٰهُ هُدًى لِّبَنِيْۤ
اِسْرَآءِيْلَ ﴿۲۳﴾ وَ جَعَلْنَا مِنْهُمْ اَىِٕمَّةً يَّهْدُوْنَ بِاَمْرِنَا لَمَّا صَبَرُوْا ؕ۟ وَ كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا
يُوْقِنُوْنَ ﴿۲۴﴾ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ يَفْصِلُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿۲۵﴾ اَوَ لَمْ
يَهْدِ لَهُمْ كَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنَ الْقُرُوْنِ يَمْشُوْنَ فِيْ مَسٰكِنِهِمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ
لَاٰيٰتٍ ؕ اَفَلَا يَسْمَعُوْنَ ﴿۲۶﴾

۽ اسان موسيٰ کي ڪتاب ڏنو، پوءِ توهان ان جي ملڻ ۾ ڪجهه شڪ نه ڪريو ۽ ان کي بني اسرائيل لاءِ هدايت بڻايو ۽ اسان منجهائن پيشوا بڻايا، جيڪي اسان جي حڪم سان ماڻهن جي رهنمائي ڪندا هئا. جڏهن ته انهن صبر

ڪيو ۽ اهي اسان جي آيتن تي يقين رکندا هئا. بيشڪ تنهنجو رب قيامت جي ڏينهن سندن وچ ۾ انهي (ڳالهه) جو فيصلو ڪندو جنهن ۾ اهي پاڻ ۾ اختلاف ڪندا هئا. ڇا انهن لاءِ اها شيءِ هدايت ڏيڻ واري نه ٿي جو انهن کان اڳ ۾ اسان ڪيترين ئي قومن کي ناس ڪري ڇڏيو. جن جي بستين ۾ اهي ماڻهو گهمن ڦرن ٿا. بيشڪ ان ۾ نشانيون آهن. ڇا اهي ماڻهو ٻڌن نه ٿا. ٢٣-٢٦

---

الله تعاليٰ جي ڪتاب جو ڪنهن جماعت کي ملڻ ان کي سڄي عالم جي امامت جي ڪنجي عطا ڪرڻ آهي، پر عالم جي امامت جو مقام ڪنهن جماعت کي ان وقت ملندو آهي جڏهن اها صبر جو ثبوت ڏي. لما صبروا جي تفسير لما صبروا عن الدنيا سان ڪئي وئي آهي (تفسير ابن ڪثير جز ٣ صفحو ٣٦٤) يعني پيشوائي جو مقام انهن کي ان وقت مليو جڏهن انهن دنيا ۾ صبر ڪيو.

ماڻهو ان ئي شخص يا جماعت کي پنهنجو امام تسليم ڪندا آهن، جيڪو انهن کي پاڻ کان بلند ڏسڻ ۾ اچي. جيڪو ان وقت اصول جي لاءِ جيئي. جڏهن ته ماڻهو مفاد لاءِ جيئندا آهن، جيڪو ان وقت انصاف جي حمايت ڪري، جڏهن ماڻهو قوم جي حمايت ڪرڻ لڳندا آهن، جيڪو ان وقت برداشت ڪري جڏهن ته ماڻهو انتقام وٺندا آهن، جيڪو ان وقت پاڻ کي محرومي تي راضي ڪري وٺي جڏهن ته ماڻهو حاصل ڪرڻ لاءِ ڊوڙندا آهن، جيڪو ان وقت حق لاءِ قربان ٿي وڃي، جڏهن ماڻهو صرف پنهنجي ذات لاءِ قربان ٿيڻ چاهيندا هجن، اهوئي صبر آهي ۽ جيڪي ماڻهو ان صبر جو ثبوت ڏين، اهي ئي قومن جا امام بڻجن ٿا.

دين ۾ نيون نيون تشريحون ۽ تعبيرون ڪري جيڪي ماڻهو اختلاف پيدا ڪندا آهن، اهي پاڻ کي ان خطري ۾ وجهي رهيا آهن ته آخرڪار الله تعاليٰ انهن جي ڳالهه کي رد ڪري ڇڏي ۽ ان کان پوءِ ابدي ذلت کان سواءِ ٻيو ڪجهه به سندن حصي ۾ نه اچي. ماڻهو اڪثر حالتن مان سبق نه ٿو وٺي، ايستائين جو جيڪو ڪجهه ٻين تي گذري ويو اهوئي ان تي به نه گذري.

اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّا نَسُوْقُ الْمَآءَ اِلَى الْاَرْضِ الْجُرُزِ فَنُخْرِجُ بِهٖ زَرْعًا تَاْكُلُ مِنْهُ اَنْعَامُهُمْ
وَاَنْفُسُهُمْ ؕ اَفَلَا يُبْصِرُوْنَ ﴿٢٧﴾ وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْفَتْحُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٢٨﴾ قُلْ
يَوْمَ الْفَتْحِ لَا يَنْفَعُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِيْمَانُهُمْ وَلَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿٢٩﴾ فَاَعْرِضْ عَنْهُمْ وَ
انْتَظِرْ اِنَّهُمْ مُّنْتَظِرُوْنَ ﴿٣٠﴾

الثلاثة ع ٣ ٨ ١٦

ڇا انهن نه ڏٺو ته اسان پاڻي کي اُبڙٽ (ويران) زمين ڏانهن وهائيندا آهيون. پوءِ اسان اُن سان پوک ڇمائيندا آهيون، جنهن مان سندن ڍور ۽ اُهي پاڻ به کائيندا آهن. پوءِ ڇا اُهي ڏسن نه ٿا ۽ اهي چوندا آهن ته اهو فيصلو ڪڏهن ٿيندو، جيڪڏهن توهان سچا آهيو. چئو ته فيصلي جي ڏينهن انهن ماڻهن جو ايمان نفعو نه ڏيندو جن انڪار ڪيو ۽ نه انهن کي مهلت ڏني ويندي. پوءِ ڪائن منهن موڙ ۽ انتظار ڪر. بيشڪ اهي به انتظار ڪندڙ آهن. ٢٧-٣٠

---

قديم مڪي ۾ مشرڪ هر لحاظ کان غالب ۽ مٿي هئا ۽ اسلام هر لحاظ کان هيٺ ۽ مغلوب ٿي رهيو هو، تنهن ڪري مشرڪ اسلام ۽ مسلمانن جو مذاق اڏائيندا هئا. ان جو جواب الله تعاليٰ هڪ مثال ذريعي ڏنو، فرمايو ويو ته ڇا توهان الله جي ان قدرت کي نه ٿا ڏسو ته هڪ زمين بلڪل خشڪ ۽ ويران

پئي آهي، بظاهر اهو ناممڪن لڳي ٿو تہ اها ڪڏهن سرسبز ۽ شاداب ٿي سگهندي، پر ان ڪان پوءِ الله
ڪڪرن کي آٽي ان تي مينهن وسائي ٿو تہ ڪجهہ ڏينهن ۾ اهو حال ٿي ويندو آهي تہ جتي ڌوڙ اڏامي رهي
هئي، اتي سرسبز پوک نظر ايندي آهي. الله جي اهائي قدرت اهو بہ ڪري سگهي ٿي تہ اسلام کي اهڙي
طرح وڌائي جو اسلام وقت جو غالب فڪر بڻجي وڃي.

## (٣٣) سُوۡرَةُ الۡاَحۡزَابِ مَکِّيَّةٌ (٩٠)

اٰياتها ٧٣ — رکوعاتها ٩

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

يٰۤاَيُّهَا النَّبِىُّ اتَّقِ اللّٰهَ وَ لَا تُطِعِ الۡكٰفِرِيۡنَ وَ الۡمُنٰفِقِيۡنَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيۡمًا حَكِيۡمًا ۙ﴿۱﴾ وَّ
اتَّبِعۡ مَا يُوۡحٰۤى اِلَيۡكَ مِنۡ رَّبِّكَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ خَبِيۡرًا ۙ﴿۲﴾ وَّ تَوَكَّلۡ عَلَى اللّٰهِ ؕ وَ
كَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيۡلًا ﴿۳﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.
اي نبي! الله ڪان ڊڄ ۽ ڪافرن ۽ منافقن جو چيو نہ مڃ. بيشڪ الله ڄاڻ وارو حڪمت وارو آهي ۽ پيروي ڪر ان
شيءِ جي جيڪو تنهنجي رب طرفان توڏانهن وحي ڪيو پيو وڃي. بيشڪ الله کي خبر آهي جيڪو توهان
ڪندا آهيو ۽ الله تي ڀروسو ڪر ۽ الله ئي ڪارساز ڪافي آهي. ١-٣

---

پيغمبر اسلام ﷺ ملاوٽ ڪان پاڪ حق جا داعي هئا. هن دنيا ۾ جيڪو ماڻهو ملاوٽ ڪان پاڪ
حق جو داعي ٿي اُٿي، ان کي نهايت مشڪل ۽ سخت حالتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. هو سڄي ماحول ۾
اجنبي بڻجي وڃي ٿو. ڪنهن جو دنيا پرستي وارو مذهب داعي جي آخرت پسنداڻي دين سان جوڙ نہ ٿو
کائي. ڪنهن جو زماني سان هلڻ داعي جي خالص حق پرستي سان ٽڪرائجي ٿو. ڪو دين کي پنهنجي
قوم پرستي جو روپ ڏئي وينو هوندو آهي، جڏهن تہ داعي جو مطالبو هوندو آهي تہ دين کي خالص
خداپرستي جي بنياد تي قائم ڪيو وڃي.

اهڙي حالت ۾ داعي جيڪڏهن ماحول جو دٻاءُ قبول ڪري وني تہ گهڻائي ماڻهو ان جو ساٿ ڏيڻ
وارا بڻجي ويندا ۽ جيڪڏهن اهو خالص حق تي قائم رهي تہ هڪ الله ڪان سواءِ ڪو بہ ان جو سهارو نہ
بڻجندو، پر داعي کي ڪنهن بہ حال ۾ ڦيريون رستو اختيار نہ ڪرڻو آهي. ان کي الله تعاليٰ جي ڀروسي
تي خالص حق تي قائم رهڻو آهي ۽ اها اميد رکڻي آهي تہ الله حڪيم ۽ عليم آهي. اهو ضرور پنهنجي
ٻانهي جي مدد ڪندو.

مَا جَعَلَ اللّٰهُ لِرَجُلٍ مِّنۡ قَلۡبَيۡنِ فِىۡ جَوۡفِهٖ ۚ وَ مَا جَعَلَ اَزۡوَاجَكُمُ الّٰٓـىِٴۡ تُظٰهِرُوۡنَ
مِنۡهُنَّ اُمَّهٰتِكُمۡ ۚ وَمَا جَعَلَ اَدۡعِيَآءَكُمۡ اَبۡنَآءَكُمۡ ؕ ذٰلِكُمۡ قَوۡلُكُمۡ بِاَفۡوَاهِكُمۡ ؕ وَ اللّٰهُ
يَقُوۡلُ الۡحَـقَّ وَهُوَ يَهۡدِى السَّبِيۡلَ ﴿۴﴾ اُدۡعُوۡهُمۡ لِاٰبَآئِهِمۡ هُوَ اَقۡسَطُ عِنۡدَ اللّٰهِ ۚ فَاِنۡ لَّمۡ

تَعۡلَمُوۡۤا اٰبَآءَهُمۡ فَاِخۡوَانُكُمۡ فِي الدِّيۡنِ وَ مَوَالِيۡكُمۡ ؕ وَ لَيۡسَ عَلَيۡكُمۡ جُنَاحٌ فِيۡمَاۤ اَخۡطَاۡتُمۡ بِهٖ ۙ وَ لٰكِنۡ مَّا تَعَمَّدَتۡ قُلُوۡبُكُمۡ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوۡرًا رَّحِيۡمًا ﴿۵﴾

۽ الله ڪنهن ماڻهو جي سيني ۾ ٻه دليون نہ رکيون آهن ۽ نہ توهان جي زالن کي جن کي اوهين ماءُ چئي ويٺا آهيو. توهان جون مائرون ڪيون اٿس ۽ نہ اوهان جي پٽيلن کي اوهان جا پٽ ڪيائين. اهي سڀ اوهان جي پنهنجي منهن جون ڳالهيون آهن ۽ الله حق ڳالهہ چوندو آهي ۽ اهو سڌو رستو ڏيکاريندو آهي. ڪين سندن پيئرن جا پٽ سڏيو. اها الله وٽ وڌيڪ انصاف جي ڳالهہ آهي. پوءِ جيڪڏهن اوهان سندن پيئرن کي نہ ڄاڻندا هجو تہ اهي اوهان جا ديني ڀائر آهن ۽ اوهان جا دوست آهن ۽ جنهن شيءِ ۾ اوهان کان ڀل چُڪ ٿي وڃي تہ ان جو اوهان تي ڪو گناهہ نہ آهي، پر جيڪو اوهان دل جي ارادي سان ڪيو (تنهن ۾ گناهہ آهي) ۽ الله معاف ڪرڻ وارو رحم ڪرڻ وارو آهي. ٤-٥

---

ماڻهو جي سيني ۾ ٻہ دليون نہ هجڻ ٻڌائي ٿو تہ فڪر جو تضاد خدا جي تخليقي منصوبي جي خلاف آهي. جڏهن انسان کي هڪ دل ڏنو ويو آهي تہ ان جي سوچ بہ هڪ هئڻ گهرجي، ايئن نہ ٿو ٿي سگهي تہ هڪ ئي دل ۾ هڪ ئي وقت اخلاص بہ هجي ۽ نفاق بہ. خدا پرستي بہ هجي ۽ دنيا پرستي بہ. انصاف بہ هجي ۽ ظلم بہ، تڪبر بہ هجي ۽ عاجزي بہ. ماڻهو ٻنهي مان هڪ ئي ٿي سگهي ٿو ۽ ان کي هڪ ئي هئڻ گهرجي.

اها هڪ اصولي ڳالهہ آهي جنهن جي تحت جاهليت واري زماني جون رسمون مثلاً ظهار ۽ تبنيت انديون آهن، عربستان ۾ جاهليت جو هڪ رواجي قانون اهو هو تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي زال کي اهو چئي ڇڏي (انيت علي كظهر اُمي) (تون منهنجي لاءِ منهنجي ماءُ جي پٺي وانگر آهين تہ ان جي زال ان لاءِ هميشہ لاءِ حرام ٿي ويندي هئي. جهڙي طرح ڪنهن جي ماءُ ان لاءِ حرام ٿي ويندي آهي. ان کي ظهار چئبو آهي، اهڙي طرح متبنيٰ (پٽيلن) جي معاملي ۾ بہ سندن عقيدو اهو هو جو اهي بلڪل سڳي پٽ وانگر ٿي ويندو آهي، ان کي هر معاملي ۾ اهوئي درجو ڏنو ويندو هو جيڪو حقيقي اولاد جو هوندو آهي، قرآن ان رواج کي بلڪل ختم ڪري ڇڏيو. قرآن ۾ اعلان ڪيو ويو تہ اهو تخليقي نظام جي سراسر خلاف آهي تہ حقيقي ماءُ ۽ زبان سان چيل ماءُ يا حقيقي پٽ ۽ منهن سان چيل پٽ ٻنهي جي حيثيت بلڪل هڪ جهڙي ٿي وڃي.

ماڻهو جيڪڏهن بيخبري ۾ ڪا غلطي ڪري تہ اها الله وٽ معافي جي قابل آهي. پر جيڪڏهن ڪنهن معاملي جي حقيقت پوري طرح واضح ٿي وڃي، ان جي باوجود ماڻهو پنهنجي غلط طريقي کي نہ ڇڏي تہ ان کان پوءِ هو معافي جي قابل نہ ٿو رهي.

اَلنَّبِيُّ اَوۡلٰى بِالۡمُؤۡمِنِيۡنَ مِنۡ اَنۡفُسِهِمۡ وَ اَزۡوَاجُهٗۤ اُمَّهٰتُهُمۡ ؕ وَ اُولُوا الۡاَرۡحَامِ بَعۡضُهُمۡ اَوۡلٰى بِبَعۡضٍ فِيۡ كِتٰبِ اللّٰهِ مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَ الۡمُهٰجِرِيۡنَ اِلَّاۤ اَنۡ تَفۡعَلُوۡۤا اِلٰۤى اَوۡلِيٰٓئِكُمۡ مَّعۡرُوۡفًا ؕ كَانَ ذٰلِكَ فِي الۡكِتٰبِ مَسۡطُوۡرًا ﴿۶﴾

۽ نبي جو مؤمنن تي، سندن جانين ڪان بہ وڌيڪ حق آهي ۽ نبي جون زالون سندن مائرون آهن ۽ مٽ مائٽ الله جي ڪتاب ۾ (ٻين) مؤمنن ۽ مهاجرن ڪان وڌيڪ ويجها آهن. پر جيڪڏهن توهان پنهنجن دوستن سان احسان ڪريو، اهو ڪتاب ۾ لکيل آهي. ٦

---

پيغمبر پنهنجي زندگي ۾ ذاتي طور تي ۽ وفات ڪان پوءِ اصولي طور تي ايمان وارن لاءِ سيني ڪان مٿانهين حيثيت رکي ٿو، ان جو سبب اهو آهي تہ پيغمبر دنيا ۾ الله جو نمائندو هوندو آهي، پيغمبر جي تعليم جي عظمت کي قائم رکڻ لاءِ ضروري آهي تہ ان جو وجود ماڻهن جي نظر ۾ مقدس وجود هجي، ايستائين جو ان جون زالون بہ ماڻهن جي لاءِ مائرن وانگر احترام جي قابل هجن. پيغمبر ۽ ان جي گهروارين ڪان پوءِ امت جي باقي ماڻهن جي تعلق جو بنياد اهو آهي تہ مٽي مائٽي رکڻ وارا ماڻهو هڪ ٻئي جي ويجها هوندا ۽ هڪ ٻئي جا حقدار قرار ڏنا ويندا. دين جي ضرورت جي ڪري عارضي طور تي رشتيدارن ڪان سواءِ ٻين مسلمانن کي حقن ۾ شريڪ ڪري سگهجي ٿو، جهڙي طرح هجرت ڪان پوءِ ابتدائي زماني ۾ مديني ۾ ڪيو ويو، پر مستقل معاشرتي انتظام جي لحاظ ڪان حقيقي رشتيدار ئي اصل حقدار آهن ۽ هميشہ رهندا.

وَ اِذْ اَخَذْنَا مِنَ النَّبِيّٖنَ مِيْثَاقَهُمْ وَ مِنْكَ وَ مِنْ نُّوْحٍ وَّ اِبْرٰهِيْمَ وَ مُوْسٰى وَ عِيْسَى ابْنِ
مَرْيَمَ ۠ وَ اَخَذْنَا مِنْهُمْ مِّيْثَاقًا غَلِيْظًا ۙ لِّيَسْـَٔلَ الصّٰدِقِيْنَ عَنْ صِدْقِهِمْ ۚ وَ اَعَدَّ
لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابًا اَلِيْمًا ۟ ع
١٧

۽ جڏهن اسان پيغمبرن ڪان سندن عهد ورتو ۽ توکان ۽ نوح ڪان ۽ ابراهيم ۽ موسيٰ ۽ عيسيٰ پٽ مريم ڪان ۽ اسان انهن ڪان پڪو انجام ورتو، تہ جيئن الله سچن ڪان سندن سچائي جي باري ۾ سوال ڪري ۽ منڪرن لاءِ هن دردناڪ عذاب تيار ڪري رکيو آهي. ٧-٨

---

الله تعاليٰ انسان کي جنهن منصوبي تحت پيدا ڪيو آهي، اهو امتحان لاءِ آهي. يعني موجوده دنيا ۾ هر قسم جا اسباب ڏئي ان کي آزاد ماحول ۾ رکڻ ۽ پوءِ هر عمل جي مطابق ان کي ابدي انعام يا ابدي سزا ڏيڻ.

زندگي جي اها امتحان واري نوعيت لازماً اهو تقاضو ڪري ٿي، تہ ماڻهو کي اصل صورتحال ڪان پوري طرح باخبر ڪيو وڃي. ان مقصد لاءِ الله تعاليٰ پيغمبرن جو سلسلو جاري ڪيو، پيغمبري ڪو لائوڊ اسپيڪر تي اعلان ڪرڻ نہ آهي، اهو هڪ بيحد صبر وارو ڪم آهي. ان ڪري سيني پيغمبرن ڪان نهايت اهتمام سان اهو عهد ورتو ويو تہ اهي پيغام رسائڻ جي هن نازڪ ڪم کي ان جي سيني آدابن ۽ تقاضن سان انجام ڏيندا ۽ ان ۾ هرگز ڪوتاهي نہ ڪندا.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ جَآءَتْكُمْ جُنُوْدٌ فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ
رِيْحًا وَّ جُنُوْدًا لَّمْ تَرَوْهَا ۚ وَ كَانَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرًا ۟ اِذْ جَآءُوْكُمْ مِّنْ فَوْقِكُمْ وَ

مِنْ اَسْفَلَ مِنْكُمْ وَ اِذْ زَاغَتِ الْاَبْصَارُ وَ بَلَغَتِ الْقُلُوْبُ الْحَنَاجِرَ وَ تَظُنُّوْنَ بِاللّٰهِ
الظُّنُوْنَا ﴿١٠﴾ هُنَالِكَ ابْتُلِيَ الْمُؤْمِنُوْنَ وَ زُلْزِلُوْا زِلْزَالًا شَدِيْدًا ﴿١١﴾

اي ايمان وارو! پاڻ تي الله جو احسان ياد ڪريو، جڏهن توهان تي لشڪر چڙهائي ڪري آيا ته اسان انهن تي هڪ طوفان موڪليوسون ۽ اهڙا لشڪر جن کي توهان نٿي ڏٺو ۽ الله ڏسڻ وارو آهي جيڪو ڪجھ توهان ڪريو ٿا. جڏهن اهي اوهان جي مٿان ۽ اوهان جي هيٺان اچي ٿيا ۽ جڏهن اکيون ٽڙي ويون ۽ دليون نڙگهٽن کي پهتيون ۽ توهان الله بابت طرح طرح جا گمان ڪرڻ لڳا. ان وقت ايمان وارا امتحان ۾ وڌا ويا ۽ ڪين سخت لوڏيو ويو. ٩-١١

---

غزوه احزاب ٥ هجري ۾ عرب قبيلن ۽ يهودين طرفان مديني تي گڏيل حملو هو. ان ۾ حملي ڪندڙن جو تعداد تقريباً ١٢ هزار هو، مسلمان ان لشڪر سان وڙهڻ جي طاقت نه رکندا هئا. پر الله تعاليٰ پنهنجي خاص تدبير جي ذريعي دشمنن کي ايتري قدر خوفزده ڪيو جو تقريباً هڪ مهيني جي گهيري کان پوءِ اهي خود مديني کي ڇڏي هليا ويا.

اهڙي طرح جون سخت حالتون اسلامي دعوت سان ان ڪري پيش اينديون آهن جو مسلمانن جي جماعت مان مخلص ۽ غير مخلص کي الڳ ڪري ڇڏجي ۽ ٻيو ان ڪري ته دشمن کي ڏيکاريو وڃي ته الله تعاليٰ پنهنجي دين جو خود حامي آهي. هو ڪنهن به حال ۾ به ان کي مغلوب ٿيڻ نه ڏيندو.

وَ اِذْ يَقُوْلُ الْمُنٰفِقُوْنَ وَ الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ مَّا وَعَدَنَا اللّٰهُ وَ رَسُوْلُهٗۤ اِلَّا
غُرُوْرًا ﴿١٢﴾ وَ اِذْ قَالَتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْهُمْ يٰۤاَهْلَ يَثْرِبَ لَا مُقَامَ لَكُمْ فَارْجِعُوْا ۚ وَ يَسْتَاْذِنُ
فَرِيْقٌ مِّنْهُمُ النَّبِيَّ يَقُوْلُوْنَ اِنَّ بُيُوْتَنَا عَوْرَةٌ ۛؕ وَ مَا هِيَ بِعَوْرَةٍ ۛۚ اِنْ يُّرِيْدُوْنَ اِلَّا ملع عند المتقدمين
فِرَارًا ﴿١٣﴾ وَ لَوْ دُخِلَتْ عَلَيْهِمْ مِّنْ اَقْطَارِهَا ثُمَّ سُئِلُوا الْفِتْنَةَ لَاٰتَوْهَا وَ مَا تَلَبَّثُوْا بِهَاۤ اِلَّا
يَسِيْرًا ﴿١٤﴾ وَ لَقَدْ كَانُوْا عَاهَدُوا اللّٰهَ مِنْ قَبْلُ لَا يُوَلُّوْنَ الْاَدْبَارَ ؕ وَ كَانَ عَهْدُ اللّٰهِ
مَسْـُٔوْلًا ﴿١٥﴾ قُلْ لَّنْ يَّنْفَعَكُمُ الْفِرَارُ اِنْ فَرَرْتُمْ مِّنَ الْمَوْتِ اَوِ الْقَتْلِ وَ اِذًا لَّا تُمَتَّعُوْنَ
اِلَّا قَلِيْلًا ﴿١٦﴾ قُلْ مَنْ ذَا الَّذِيْ يَعْصِمُكُمْ مِّنَ اللّٰهِ اِنْ اَرَادَ بِكُمْ سُوْٓءًا اَوْ اَرَادَ بِكُمْ
رَحْمَةً ؕ وَ لَا يَجِدُوْنَ لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلِيًّا وَّ لَا نَصِيْرًا ﴿١٧﴾

۽ جڏهن منافقن ۽ انهن ماڻهن جن جي دلين ۾ بيماري آهي چيو ٿئي ته الله ۽ سندس رسول جيڪو واعدو اسان سان ڪيو هو، اهو رڳو دوکو هو ۽ جڏهن انهن مان هڪ ٽولي چيو ته اي يثرب وارو توهان لاءِ ڪا جاءِ ڪانهي تنهن ڪري موٽو ۽ انهن ما هڪ ٽولي پيغمبر کان اجازت گهري ٿي. اُهي چوڻ لڳا ته اسان جا گهر اڪيلا آهن. حالانڪ اُهي اڪيلا نه هئا. اهي رڳو ڀڄڻ چاهيندا هئا ۽ جيڪڏهن مديني جي آسپاس کان ڪو انهن تي اچي ڪڙڪي ها ۽ ڪين فتني جي دعوت ڏي ها ته اُهي مڃي وٺن ها ۽ ان لاءِ ٿوري دير کان سواءِ ترسن ئي نه ها ۽ انهن ان کان اڳ ۾ الله سان عهد ڪيو هو ته هو پٺ نه ڦيرائيندا ۽ الله سان ڪيل عهد جي پڇا ٿيندي. چؤ ته جيڪڏهن توهان موت يا قتل کان ڀڄندو ته اهو ڀڄڻ توهان جي ڪجھ ڪم نه ايندو ۽ ان حالت ۾ توهان

ڪي صرف ٿورا ڏينهن فائدو ڪڻڻ جو موقعو ملندو. ڇو ڪير آهي جيڪو توهان کي الله کان بچائي جيڪڏهن هو توهان کي نقصان پهچائڻ چاهي يا هو توهان تي رحمت ڪرڻ چاهي ۽ اهي پاڻ لاءِ الله جي مقابلي ۾ ڪو حمايتي ۽ مددگار نه لهندا. ١٢-١٧

---

غزوه احزاب ۾ تمام گهڻن خطرن کي ڏسي منافق ماڻهو گهبرائجي ويا ۽ ڀڄڻ جون راهون تلاش ڪرڻ لڳا، پر جيڪي سچي ايمان وارا هئا اهي الله جي اعتماد تي قائم رهيا. اهي ڄاڻندا هئا ته اڳيان به خدا آهي ۽ پنيان به خدا آهي. اسلام جي دشمنن جي خطري کان ڀڄڻ پنهنجي پاڻ کي الله جي خطري ۾ وجهڻ آهي. جيڪو ان کان به وڌيڪ سخت آهي، انهن کي يقين هو ته جيڪڏهن اسان دشمنن جي مقابلي ۾ ثابت قدم رهنداسون ته الله جي مدد اسان کي حاصل ٿيندي ۽ جيڪڏهن اسان اسلام جي محاذ کي ڇڏي ڀڄنداسون ته آخرڪار دنيا ۾ به پاڻ کي هلاڪت کان بچائي نه سگهنداسون ۽ آخرت ۾ الله جي پڪڙ ان کان علاوه آهي.

قَدْ يَعْلَمُ اللّٰهُ الْمُعَوِّقِيْنَ مِنْكُمْ وَ الْقَآئِلِيْنَ لِاِخْوَانِهِمْ هَلُمَّ اِلَيْنَا ۚ وَ لَا يَاْتُوْنَ
الْبَاْسَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿١٨﴾ اَشِحَّةً عَلَيْكُمْ ۚۖ فَاِذَا جَآءَ الْخَوْفُ رَاَيْتَهُمْ يَنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ تَدُوْرُ
اَعْيُنُهُمْ كَالَّذِيْ يُغْشٰى عَلَيْهِ مِنَ الْمَوْتِ ۚ فَاِذَا ذَهَبَ الْخَوْفُ سَلَقُوْكُمْ بِاَلْسِنَةٍ حِدَادٍ
اَشِحَّةً عَلَى الْخَيْرِ ؕ اُولٰٓئِكَ لَمْ يُؤْمِنُوْا فَاَحْبَطَ اللّٰهُ اَعْمَالَهُمْ ؕ وَ كَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ
يَسِيْرًا ﴿١٩﴾ يَحْسَبُوْنَ الْاَحْزَابَ لَمْ يَذْهَبُوْا ۚ وَ اِنْ يَّاْتِ الْاَحْزَابُ يَوَدُّوْا لَوْ اَنَّهُمْ
بَادُوْنَ فِي الْاَعْرَابِ يَسْاَلُوْنَ عَنْ اَنْۢبَآئِكُمْ ؕ وَ لَوْ كَانُوْا فِيْكُمْ مَّا قٰتَلُوْۤا اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٢٠﴾ ع ٢ ١٨

الله توهان مان انهن ماڻهن کي ڄاڻي ٿو جيڪي توهان مان (جهاد) کان روڪڻ وارا آهن ۽ جيڪي پنهنجن ڀائرن کي چوندا آهن ته اسان وٽ اچي وڃو ۽ اهي لڙائي ۾ گهٽ ئي ايندا آهن. اهي اوهان تي بخيلي ڪندڙ آهن. پوءِ خوف جي مهل تون ڪين ڏسين ته اهي توڏانهن اهڙي طرح نهاريندا آهن جو سندن اکيون ان (ماڻهو) وانگر ڦرنديون آهن جنهن تي موت جي بيهوشي طاري هجي، پوءِ جنهن مهل (جنگ) جو خطرو لهندو آهي ته اهي مال جي حرص ۾ اوهان کي تکين زبانن سان ايذائيندا آهن. انهن ايمان نه آندو ته الله سندن عمل چٽ ڪري ڇڏيا ۽ اِهو الله جي لاءِ آسان آهي. اهي ڀائن ٿا ته لشڪر اڃا ويا نه آهن ۽ جيڪڏهن لشڪر اچي وڃن ته اهي ماڻهو پسند ڪندا ته ڪاش! اسان بدوين سان ٻهراڙي ۾ هجون ها. اوهان جون خبرون پڇندا رهن ها ۽ جيڪڏهن اهي توهان سان گڏ هجن ها ته لڙائي ۾ ٿورو ئي حصو وٺن ها. ١٨-٢٠

---

هڪ ماڻهو اهو آهي جيڪو قرباني جي وقت پوئتي رهجي وڃي ته ان کي شرمندگي محسوس ٿئي، ان جو ڳالهائڻ بند ٿي ويندو آهي. ٻيو ماڻهو اهو آهي جيڪو قرباني جي وقت قرباني نه ٿو ڏي ۽ پوءِ ٻين کي به ان کان روڪي ٿو. اها ڪوتاهي تي سرڪشي جو اضافو آهي. ڪوتاهي معافي جي قابل ٿي سگهي ٿي، پر سرڪشي معافي جي قابل نه آهي.

جن ماڻهن ۾ سرڪشي جي نفسيات هجي ۽ اهي بظاهر ڪو سٺو عمل ڪن تڏهن به اهي بي قيمت آهن، ڇاڪاڻ ته عمل جو اصل روح اخلاص آهي ۽ اهوئي انهن ۾ موجود نه آهي.

دين لاءِ قرباني نہ ڏيڻ هميشہ دنيا جي محبت ۾ ٿيندو آهي، ماڻهو پنهنجي دنيا کي بچائڻ لاءِ پنهنجي دين کي وڃائي ڇڏيندو آهي. ان ڪري اهڙا ماڻهو جيتي ڏسندا آهن تہ دين ۾ دنيا جو فائدو بہ آهي تہ اتي اهي خوب ڳالهائيندا آهن، تہ جيئن دين سان پنهنجو تعلق ظاهر ڪري وڌ مان وڌ فائدو حاصل ڪري سگهن، پر جتي دين جو مطلب قرباني هجي اُتي ديندار بڻجڻ سان انهن کي ڪا دلچسپي نہ هوندي آهي.

لَقَدۡ كَانَ لَكُمۡ فِىۡ رَسُوۡلِ اللّٰهِ اُسۡوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنۡ كَانَ يَرۡجُوا اللّٰهَ وَالۡيَوۡمَ الۡاٰخِرَ وَذَكَرَ
اللّٰهَ كَثِيۡرًا ﴿٢١﴾ وَلَمَّا رَاَ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ الۡاَحۡزَابَ ۙ قَالُوۡا هٰذَا مَا وَعَدَنَا اللّٰهُ وَرَسُوۡلُهٗ وَصَدَقَ
اللّٰهُ وَرَسُوۡلُهٗ ۡ وَمَا زَادَهُمۡ اِلَّاۤ اِيۡمَانًا وَّتَسۡلِيۡمًا ﴿٢٢﴾ مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ رِجَالٌ صَدَقُوۡا مَا
عَاهَدُوا اللّٰهَ عَلَيۡهِ ۚ فَمِنۡهُمۡ مَّنۡ قَضٰى نَحۡبَهٗ وَمِنۡهُمۡ مَّنۡ يَّنۡتَظِرُ ۖ وَمَا بَدَّلُوۡا تَبۡدِيۡلًا ﴿٢٣﴾
لِّيَجۡزِىَ اللّٰهُ الصّٰدِقِيۡنَ بِصِدۡقِهِمۡ وَيُعَذِّبَ الۡمُنٰفِقِيۡنَ اِنۡ شَآءَ اَوۡ يَتُوۡبَ عَلَيۡهِمۡ ؕ اِنَّ
اللّٰهَ كَانَ غَفُوۡرًا رَّحِيۡمًا ﴿٢٤﴾

بيشڪ توهان لاءِ الله جي رسول ۾ بهترين نمونو آهي. ان ماڻهو لاءِ جيڪو الله ۽ آخرت جي ڏينهن جي اميد رکندڙ هجي ۽ الله کي گهڻو ياد ڪندو هجي ۽ جڏهن ايمان وارن لشڪرن کي ڏٺو تہ چوڻ لڳا هي اهو ئي آهي جنهن جو الله ۽ سندس رسول اسان سان واعدو ڪيو هو ۽ الله ۽ ان جي رسول سچ فرمايو ۽ ان سندن ايمان ۽ اطاعت ۾ اضافو ڪري ڇڏيو. ايمان وارن ۾ اهڙا بہ ماڻهو آهن جن الله سان ڪيل عهد کي پورو ڪري ڏيکاريو. پوءِ منجهائن ڪن پنهنجو ذمو پورو ڪيو ۽ منجهائن ڪو انتظار ۾ آهي ۽ انهن ذرو بہ تبديلي نہ ڪئي، تہ جيئن الله سچن کي سندن سچائي جو بدلو ڏي ۽ منافقن کي عذاب ڏي. جيڪڏهن چاهي يا سندن توبهہ قبول ڪري. بيشڪ الله بخشڻ وارو مهربان آهي. ٢١-٢٤

---

رسول ۽ اصحاب رسول جون زندگيون قيامت تائين ايمان وارن لاءِ خداپرستي واري زندگي جو نمونو آهن. ان ڳالهہ جو نمونو تہ الله ۽ آخرت مان اميد جي ڇا معنيٰ آهي، الله کي ياد ڪرڻ جو مطلب ڇا هوندو آهي، مشڪل حالتن ۾ ثابت قدم رهڻ ڪنهن کي چوندا آهن، الله جي واعدن تي ڀروسو ڪيئن ڪبو آهي. وڌندڙ ايمان ڇا آهي ۽ اهو ڪيئن حاصل ٿيندو آهي، الله سان ڪيل واعدي کي پورو ڪرڻ جو طريقو ڇا آهي.

رسول ۽ اصحاب رسول انهن ڳالهين جو آخري نمونو قائم ڪري ڏيکاريو آهي، سخت ترين حالتن ۾ بہ انهن ڪا ڪمزوري نہ ڏيکاري، انهن هر معاملي ۾ اسلامي فڪر ۽ اسلامي ڪردار جو ڪامل ثبوت ڏنو. امتحان جو وقت اچڻ کان اڳ ۾ بہ اهي حق تي قائم هئا ۽ امتحان جو وقت اچڻ کان پوءِ بہ اهي حق تي قائم رهيا.

پوءِ رسول ۽ اصحاب رسول جون زندگيون ئي ان ڳالهہ جو نمونو بہ آهن تہ الله وٽ ڪنهن جو فيصلو امتحان جي بغير نہ ڪيو ويندو آهي، الله جو طريقو اهو آهي تہ هو سخت حالتون پيدا ڪندو آهي تہ جيئن سچا ايمان وارا ۽ ڪوڙا دعويدار هڪ ٻئي کان الڳ ٿي وڃن. ان خدائي قانون ۾ نہ ڦيرين ڪنهن کي ڇوٽ ملي آهي ۽ نہ پوءِ آئنده ڪنهن کي ملندي.

وَ رَدَّ اللّٰهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِغَيْظِهِمْ لَمْ يَنَالُوْا خَيْرًا ؕ وَ كَفَى اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ الْقِتَالَ ؕ وَ
كَانَ اللّٰهُ قَوِيًّا عَزِيْزًا ﴿۲۵﴾ وَ اَنْزَلَ الَّذِيْنَ ظَاهَرُوْهُمْ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ مِنْ صَيَاصِيْهِمْ وَ
قَذَفَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الرُّعْبَ فَرِيْقًا تَقْتُلُوْنَ وَ تَاْسِرُوْنَ فَرِيْقًا ﴿۲۶﴾ وَ اَوْرَثَكُمْ اَرْضَهُمْ وَ
ع ۳ دِيَارَهُمْ وَ اَمْوَالَهُمْ وَ اَرْضًا لَّمْ تَطَـُٔوْهَا ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرًا ﴿۲۷﴾
۱۹

۽ الله منڪرن ڪي سندن ڪاوڙ سان ڳڏ ڦيري ڇڏيو جو سندن ڪا بہ مراد پوري نہ ٿي ۽ الله مؤمنن طرفان ويڙهہ لاءِ ڪافي ٿيو. الله قوت وارو غالب آهي ۽ الله انهن ڪتاب وارن کي جن حملو ڪندڙن جو ساٿ ڏنو تن کي سندن قلعن مان لاٿو ۽ سندن دلين ۾ ان رعب وجهي ڇڏيو. توهان انهن جي هڪ ٽولي کي قتل ڪري رهيا هئا ۽ هڪ ٽولي کي قيد ڪيو ٿئي ۽ ان سندن زمين ۽ سندن گهرن ۽ سندن ملڪيت جو توهان کي وارث بڻائي ڇڏيو ۽ اهڙي زمين جو بہ جنهن تي توهان قدم بہ نہ رکيا هئا ۽ الله هر شيءِ تي قدرت رکڻ وارو آهي ۲۵-۲۷.

غزوه خندق (احزاب) ۾ حالتون تمام سخت هيون. پر ان ۾ باقاعده جنگ جي نوبت نہ آئي. الله تعاليٰ طوفان ۽ فرشتن جا لشڪر موڪلي دشمن کي اهڙي طرح خوفزده ڪيو جو اهي پاڻ ئي ميدان ڇڏي هليا ويا.

مديني جي يهودين (بنوقريظ) جو مسلمانن سان صلح ۽ امن جو معاهدو هو، پر جنگ احزاب جي موقعي تي انهن غداري ڪئي. اهي معاهدو ٽوڙي مشرڪن جا ساٿي بڻجي ويا. جڏهن حملي آورن جو لشڪر مديني ڪان واپس هليو ويو تہ الله جي حڪم سان رسول اللهﷺ بنو قريظ جي وسندين تي چڙهائي ڪئي، اسلامي فوجن سندن قلعن کي گهيري ورتو، پنجويهہ ڏينهن تائين گهيرو جاري رهيو، آخر ۾ خود انهن جي درخواست تي سعد بن معاذ فيصلو ڪندڙ مقرر ٿيا. حضرت سعد بن معاذ اهوئي فيصلو ڪيو جيڪو خود سندن ڪتاب توريت ۾ اهڙن مجرمن جي لاءِ مقرر آهي. يعني بنوقريظ جا سڀ جوان قتل ڪيا ويا عورتن ۽ ٻوڪرن کي غلامي جي قيد ۾ ورتو ويو ۽ سندن مال ۽ جائداد کي قبضي ۾ ورتو ويو (استثناء ۲۰: ۱۰- ۱۴)

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ اِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَ زِيْنَتَهَا فَتَعَالَيْنَ
اُمَتِّعْكُنَّ وَ اُسَرِّحْكُنَّ سَرَاحًا جَمِيْلًا ﴿۲۸﴾ وَ اِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ وَ الدَّارَ
الْاٰخِرَةَ فَاِنَّ اللّٰهَ اَعَدَّ لِلْمُحْسِنٰتِ مِنْكُنَّ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿۲۹﴾ يٰنِسَآءَ النَّبِيِّ مَنْ يَّاْتِ
مِنْكُنَّ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ يُّضٰعَفْ لَهَا الْعَذَابُ ضِعْفَيْنِ ؕ وَ كَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرًا ﴿۳۰﴾

اي نبي پنهنجن گهروارين کي چؤ تہ جيڪڏهن توهان دنيا جي زندگي ۽ ان جي زينت گهرنديون آهيو تہ اچو آئون توهان کي ڪجهہ مال ڏئي سٺي نموني سان رخصت ڪريان ۽ جيڪڏهن توهان الله ۽ ان جي رسول ۽ آخرت جي گهر کي گهرو ٿيون تہ الله توهان مان نيڪ بختن لاءِ وڏو اجر تيار ڪري رکيو آهي، اي نبي جون گهرواريون! توهان مان جيڪا پڌري بيحيائي ڪندي ان کي ٻيڻو عذاب ڏنو ويندو ۽ اهو الله لاءِ آسان آهي. ۲۸-۳۰

هجرت مسلمانن جي معيشت کي تباھ ڪري ڇڏيو ھو. وڏيڪ ايئن ٿيو جو هجرت کان پوءِ اسلام جي دشمنن مسلمانن کي مسلسل جنگ ۾ الجهائي ڇڏيو. ان جو نتيجو اهو ٿيو جو مسلمانن جي معاشي حالت بلڪل برباد ٿي پئي

ان جو سيني کان وڏيڪ اثر رسول اللهﷺ تي پيو سندس گهروارن جو حال اهو ٿي ويو جو بنيادي ضرورتن جي فراهمي بہ مشڪل ٿي وئي. ايستائين جو پاڻﷺ جي گهروارين تنگ اچي پاڻﷺ کان نفقہ (خرچ) جو مطالبو شروع ڪري ڇڏيو.

گهروارين طرفان صرف ضروري خرچ جو مطالبو ڪيو ويو. ان کي الله دنيا جي زينت جي مطالبي سان تعبير فرمايو. اهو اصل ۾ ڳالھ جي اظهار ۾ شدت پيدا ڪرڻ جو طريقو آهي. اهڙي طرح ”بيحيائي“ جو لفظ بہ هتي شدت اظهار جي لاءِ آيو آهي. پيغمبر اسلامﷺ تاريخ جي هڪ اهم ترين مشن جي تڪميل تي مقرر هئا. يعني شرڪ جي دور جو خاتمو ۽ توحيد جي دور جو قيام. اهڙي حالت ۾ ڪنهن ٻئي شيءِ کي اهميت ڏيڻ پاڻﷺ لاءِ ممڪن نہ هو. ان ڪري رسولﷺ جي گهروارين کي فرمايو ويو تہ صبر ۽ قناعت سان رسول اللهﷺ سان گڏ رهو ۽ جيڪڏهن اهو منظور نہ آهي تہ سڻي نموني الڳ ٿي وڃو. گهريلو جهڳڙا ڪري پيغمبر جي ذهن کي منتشر ڪرڻ برداشت نہ ڪيو ويندو.

الْجُزْءُ الثَّانِيْ وَالعِشْرُوْن (٢٢)

وَ مَنۡ یَّقۡنُتۡ مِنۡکُنَّ لِلّٰہِ وَ رَسُوۡلِہٖ وَ تَعۡمَلۡ صَالِحًا نُّؤۡتِہَاۤ اَجۡرَہَا مَرَّتَیۡنِ ۙ وَ اَعۡتَدۡنَا لَہَا
رِزۡقًا کَرِیۡمًا ﴿۳۱﴾ یٰنِسَآءَ النَّبِیِّ لَسۡتُنَّ کَاَحَدٍ مِّنَ النِّسَآءِ اِنِ اتَّقَیۡتُنَّ فَلَا تَخۡضَعۡنَ
بِالۡقَوۡلِ فَیَطۡمَعَ الَّذِیۡ فِیۡ قَلۡبِہٖ مَرَضٌ وَّ قُلۡنَ قَوۡلًا مَّعۡرُوۡفًا ﴿ۚ۳۲﴾

۽ توهان مان جيڪا الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪندي ۽ نيڪ عمل ڪندي تہ اسان ان کي ان جو ٻيڻو اجر ڏينداسون ۽ اسان ان لاءِ عزت واري روزي تيار ڪري رکي آهي. اي نبي جون گهرواريون توهان عام عورتن جهڙيون نہ آهيو. جيڪڏهن توهان الله کان ڊڄنديون آهيو تہ ڳالهائڻ ۾ نرمي اختيار نہ ڪريو ڇو تہ جنهن جي دل ۾ بيماري آهي سو (متان) طمع ڪري ۽ چڱي ڳالھ ڪريو. ٣١-٣٢

---

پيغمبر جي گهروارين کي معاشري ۾ هڪ طرح جي اڳواٽي جو مقام حاصل هو. اهڙن ماڻهن کي حق جي سامهون جهڪڻ لاءِ ان کان وڏيڪ قرباني ڏيڻي پوي ٿي، جيتري هڪ عام ماڻهو کي ڏيڻي پوندي آهي. اهوئي سبب آهي جو اهڙن ماڻهن لاءِ الله تعاليٰ ٻيڻي انعام جو واعدو فرمايو آهي. اهي عمل ڪرڻ لاءِ ٻين کان وڏيڪ قوت ارادي جو استعمال ڪندا آهن. ان ڪري اهي پنهنجي عمل جي قيمت بہ ٻين کان وڏيڪ لهندا آهن.

پيغمبر جي گهروارين جي ان خاصيت جي ڪري سندن رابطو بار بار ٻين سان ٿيندو هو. ماڻهو ديني معاملن ۾ رهنمائي لاءِ انهن وٽ ايندا هئا. ان ڪري حڪم ڏنو ويو تہ ٻين سان ڳالھ ڪريو تہ خشڪ انداز ۾ ڳالھ ڪريو. بي تڪلف انداز ۾ ڳالھ نہ ڪريو. جهڙي طرح هڪ محرم رشتيدار سان ڳالھ ڪبي آهي.

وَ قَرْنَ فِيْ بُيُوْتِكُنَّ وَ لَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰى وَ اَقِمْنَ الصَّلٰوةَ وَ اٰتِيْنَ
الزَّكٰوةَ وَ اَطِعْنَ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ ؕ اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَ
يُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا ۝٣٣ وَ اذْكُرْنَ مَا يُتْلٰى فِيْ بُيُوْتِكُنَّ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ وَ الْحِكْمَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ
كَانَ لَطِيْفًا خَبِيْرًا ۝٣٤ ع

۽ توهان پنهنجن گهرن ۾ رهو ۽ پهرين جهالت جي دور وانگر ڏيکاءُ نہ ڪريو ۽ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ادا ڪريو ۽ الله ۽ سندس رسول جي اطاعت ڪريو. الله چاهي ٿو تہ توهان اهل بيت کان ناپاڪي دور ڪري ۽ توهان کي چڱي طرح پاڪ ڪري ۽ توهان جي گهرن ۾ الله جي آيتن ۽ حڪمت جي ڳالهين مان جيڪو پڙهيو وڃي ٿو ان کي ياد رکو. بيشڪ الله باريڪ بين آهي خبر رکندڙ آهي. ٣٣-٣٤

---

هتي رسول جي گهروارين کي خطاب ڪندي مسلمان عورتن کي عام هدايت ڏني وئي آهي تہ اهي پنهنجن گهرن ۾ ڪهڙي طرح رهن. انهن کي اصولي طورتي پنهنجن گهرن جي دائري ۾ رهڻ گهرجي. دنيادار عورتن وانگر سينگار ۽ زينت جي نمائش سندن مقصد نہ هئڻ گهرجي. سندن توجهہ جو مرڪز اهو هئڻ گهرجي جو اُهي الله جون عبادت ڪندڙ بڻجي وڃن. اهي پنهنجي مال کي الله لاءِ خرچ ڪن. زندگي جي معاملن ۾ الله ۽ رسول جو جيڪو حڪم ملي ان تي عمل ڪن. اهي الله ۽ رسول جي ڳالهين کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ پنهنجو وقت گذارين.

اهڙي قسم جي زندگي ماڻهو کي پاڪ باز بڻائي ٿي ۽ پاڪباز ماڻهو ئي الله تعاليٰ کي پسند آهي.

اِنَّ الْمُسْلِمِيْنَ وَ الْمُسْلِمٰتِ وَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتِ وَ الْقٰنِتِيْنَ وَ الْقٰنِتٰتِ وَ
الصّٰدِقِيْنَ وَ الصّٰدِقٰتِ وَ الصّٰبِرِيْنَ وَ الصّٰبِرٰتِ وَ الْخٰشِعِيْنَ وَ الْخٰشِعٰتِ وَ
الْمُتَصَدِّقِيْنَ وَ الْمُتَصَدِّقٰتِ وَ الصَّآئِمِيْنَ وَ الصّٰٓئِمٰتِ وَ الْحٰفِظِيْنَ فُرُوْجَهُمْ وَ
الْحٰفِظٰتِ وَ الذّٰكِرِيْنَ اللّٰهَ كَثِيْرًا وَّ الذّٰكِرٰتِ ۙ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ مَّغْفِرَةً وَّ اَجْرًا عَظِيْمًا ۝٣٥

بيشڪ اطاعت ڪرڻ وارا مرد ۽ اطاعت ڪرڻ واريون عورتون ۽ ايمان آڻڻ وارا مرد ۽ ايمان آڻڻ واريون عورتون ۽ فرمانبرداري ڪرڻ وارا مرد ۽ فرمانبرداري ڪرڻ واريون عورتون ۽ سچا مرد ۽ سچون عورتون ۽ صبر ڪرڻ وارا مرد ۽ صبر ڪرڻ واريون عورتون ۽ (الله کان) ڊڄڻ وارا مرد ۽ ڊڄڻ واريون عورتون ۽ صدقو ڏيڻ وارا مرد ۽ صدقو ڏيڻ واريون عورتون ۽ روزو رکڻ وارا مرد ۽ روزو رکڻ واريون عورتون ۽ پنهنجن اگهڙن جي حفاظت ڪرڻ وارا مرد ۽ حفاظت ڪرڻ واريون عورتون ۽ الله کي گهڻو ياد ڪرڻ وارا مرد ۽ ياد ڪرڻ واريون عورتون انهن (سيني) لاءِ الله بخشش ۽ وڏو اجر تيار ڪري رکيو آهي. ٣٥

---

هن آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اُهي ڪهڙيون صفتون آهن، جيڪي الله تعاليٰ هڪ مرد يا هڪ عورت ۾ ڏسڻ چاهي ٿو. اهي ڏهہ صفتون هي آهن اسلام، ايمان، عبادت، سچائي، صبر، خشوع يا الله جو خوف، صدقو، روزو، پاڪبازي، الله جو ذڪر.

انهن ڏهن لفظن ۾ اسلامي عقيدي ۽ اسلامي ڪردار جا سڀئي پهلو گڏ ٿي ويا آهن. ان جو خلاصو اهو آهي ته هر اهو ماڻهو جيڪو الله وٽ بخشش ۽ انعام جو اميدوار هجي ان کي ايئن هئڻ گهرجي جو هو الله جي حڪم اڳيان جهڪڻ وارو هجي. اهو الله تي يقين ڪرڻ وارو هجي. اهو پنهنجي پوري وجود سان الله لاءِ هڪ طرفو ٿي وڃي، ان جي زندگي قول ۽ فعل جي تضاد کان خالي هجي، اهو هرحال ۾ ثابت قدم رهڻ وارو هجي، الله جي وڏائي جي احساس ان کي هڪ عاجز پانهو بڻائي ڇڏيو هجي، هو ٻين جي ضرورت پوري ڪرڻ کي به پنهنجي ذميداري سمجهندو هجي. هو روزا رکڻ وارو هجي، جيڪا نفس کي ڪنٽرول ڪرڻ جي تربيت آهي. هو جنسي خواهشن جي مقابلي ۾ پاڪدامن هجي ان جا صبح ۽ شام الله جي ياد ۾ گذرڻ لڳن.

اهي صفتون جهڙي طرح مردن کان گهربل آهن، اهڙي طرح اُهي عورتن کان به گهربل آهن. انهن صفتن جي اظهار جو دائرو ڪنهن لحاظ کان ٻنهي لاءِ مختلف آهي، پر جيستائين خود صفتن جو تعلق آهي ته اُهي ٻنهي لاءِ هڪ جهڙيون آهن، ڪا عورت هجي يا ڪو مرد، ته اهو ان ئي وقت الله وٽ قابل قبول هوندو جڏهن اهو انهن ڏهن صفتن سان گڏ الله وٽ پهچندو.

وَ مَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ وَّ لَا مُؤْمِنَةٍ اِذَا قَضَى اللّٰهُ وَ رَسُوْلُهٗۤ اَمْرًا اَنْ يَّكُوْنَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ مِنْ اَمْرِهِمْ ؕ وَ مَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًا مُّبِيْنًا ﴿٣٦﴾

ڪنهن مؤمن مرد يا ڪنهن مؤمن عورت جي لاءِ گنجائش نه آهي ته جڏهن الله ۽ سندس رسول ڪنهن معاملي جو فيصلو ڪري ڇڏين ته پوءِ انهن لاءِ ان ۾ ڪو اختيار باقي رهي ۽ جيڪو ماڻهو الله ۽ سندس رسول جي نافرماني ڪندو ته هو پڌري گمراهي ۾ پئجي ويو. ٣٦

---

انسان کي خودمختيار پيدا ڪيو ويو آهي. ان خودمختياري کي هن کي الله تعاليٰ جي حوالي ڪرڻو آهي. اهوئي موجوده دنيا ۾ انسان جو اصل امتحان آهي، اهوئي ماڻهو هدايت تي آهي جيڪو ان نازڪ امتحان ۾پورو لهي.

ان جو مثال اول دور ۾ زيد ۽ زينب جي نڪاح جو واقعو آهي. زيد هڪ آزاد ڪيل غلام هو. ان جي ابتڙ زينب قريش جي هڪ اعليٰ خاندان سان تعلق رکندي هئي، چاڪاڻ ته هوءَ اميم بنت عبدالمطلب جي نياڻي هئي. رسول الله ﷺ زيد جو نڪاح زينب سان ڪرڻ چاهيو ته زينب جا گهروارا ان جي لاءِ تيار نه ٿيا. خود زينب چيو انا خير منه نسبا (آئون نسب ۾ زيد کان بهتر آهيان). پر جڏهن انهن ماڻهن کي قرآن جي مٿين آيت ٻڌائي وئي ته اهي ماڻهو فوراً راضي ٿي ويا. ٤ هجري ۾ سندن نڪاح ڪيو ويو.

اهوئي اسلام جو مزاج آهي ۽ اهوئي مزاج هر مسلمان مرد ۽ مسلمان عورت ۾ هئڻ گهرجي.

وَ اِذْ تَقُوْلُ لِلَّذِيْۤ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِ اَمْسِكْ عَلَيْكَ زَوْجَكَ وَ اتَّقِ اللّٰهَ وَ تُخْفِيْ فِيْ نَفْسِكَ مَا اللّٰهُ مُبْدِيْهِ وَ تَخْشَى النَّاسَ ۚ وَ اللّٰهُ اَحَقُّ اَنْ تَخْشٰىهُ ؕ فَلَمَّا قَضٰى زَيْدٌ مِّنْهَا وَطَرًا زَوَّجْنٰكَهَا لِكَيْ لَا يَكُوْنَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ حَرَجٌ فِيْۤ اَزْوَاجِ اَدْعِيَآىِٕهِمْ

اِذَا قَضَوۡا مِنۡهُنَّ وَطَرًا ؕ وَ كَانَ اَمۡرُ اللّٰهِ مَفۡعُوۡلًا ﴿۳۷﴾

۽ جڏهن تون ان ماڻهو کي چئي رهيو هئين جنهن تي الله فضل ڪيو ۽ تو ان تي احسان ڪيو ته پنهنجي زال کي پاڻ وٽ جهل (۽ طلاق نه ڏي) ۽ الله کان ڊڄ ۽ تو پنهنجي دل ۾ اها ڳالهه لڪائي ٿي جنهن کي الله ظاهر ڪرڻ وارو هو ۽ تون ماڻهن کان ڊڄي رهيو هئين ۽ الله وڌيڪ حقدار آهي ته تون ان کان ڊڄين. پوءِ جڏهن زيد ان کان پنهنجي حاجت پوري ڪئي يعني (طلاق ڏنائين) اسان توسان ان جو نڪاح ڪيوسون، ته جيئن مسلمانن تي پنهنجي پٽيلن جي زالن جي باري ۾ ڪجهه تنگي نه رهي. جڏهن ته هو ان سان پنهنجي حاجت پوري ڪن (يعني طلاق ڏين) ۽ جيڪو الله جو حڪم آهي سو ٿي رهڻو آهي. ٣٧

---

حضرت زيدؓ سان حضرت زينب جو نڪاح ٤ هجري ۾ ٿيو. پر نباهه نه ٿي سگهيو ۽ سال کان پوءِ ٻنهي ۾ عليحدگي ٿي وئي، حضرت زيدؓ جڏهن رسول الله ﷺ سان طلاق جو ارادو ظاهر ڪيو ته پاڻ ﷺ ان جو سبب پڇيو. انهن چيو ته هو پنهنجي اعليٰ خاندان جي ڪري منهنجي مقابلي ۾ وڏائي جو احساس رکي ٿي. (تتعظم علي لشرفها) جيئن ته پاڻ ﷺ ان کي روڪيو، پوءِ بار بار درخواست ڪرڻ تي آخرڪار پاڻ ﷺ ان کي عليحدگي جي اجازت ڏئي ڇڏي.

زيدؓ ۽ زينبؓ جي نڪاح سان اول اها رسم ٽوڙي وئي ته معاشرتي فرق کي نڪاح ۾ رڪاوٽ نه هئڻ گهرجي. پر جڏهن انهن ۾ عليحدگي ٿي وئي ته پوءِ الله جي مرضي اها هئي ته زينب کي هڪ ٻي غلط رسم کي ختم ڪرڻ جو ذريعو بڻايو وڃي.

جاهليت جي زماني ۾ اهو رواج هو ته پٽيلن کي بلڪل حقيقي پٽن وانگر سمجهندا هئا. هر لحاظ کان ان جا اهي ئي حق هئا جيڪي حقيقي پٽ جا هوندا آهن، ان رسم کي ٽوڙڻ جي بهترين صورت اها هئي ته طلاق کان پوءِ حضرت زينب جو نڪاح رسول الله ﷺ سان ڪرايو وڃي. زيدؓ رسول الله ﷺ جا پٽيلا هئا، ايستائين جو انهن کي زيد بن محمد چيو ويندو هو، اهڙي حالت ۾ پٽيلي جي طلاق ڏنل عورت سان پاڻ ﷺ جو نڪاح ڪرڻ ان رسم جي خلاف هڪ ڌماڪي جي حيثيت رکندو هو. ڇاڪاڻ ته انهن جو خيال هو ته پٽيلن جي زال پيءُ تي حرام آهي، جهڙي طرح حقيقي پٽ جي زال پيءُ تي حرام هوندي آهي.

رسول الله ﷺ کي اڳواٽ ٻڌايو ويو هو ته جيڪڏهن ٻنهي ۾ عليحدگي ٿي وئي ته ان جاهليت واري رسم کي ختم ڪرڻ جي تدبير طور زينب کي پاڻ ﷺ جي نڪاح ۾ ڏنو ويندو، ڇاڪاڻ ته ان قسم جو نڪاح قديم ماحول ۾ زبردست بدنامي جو ذريعو ٿئي ها، ان ڪري رسول الله ﷺ حضرت زيدؓ کي روڪيندا رهيا ته جيڪڏهن هو طلاق نه ڏين ته آئون ان سخت آزمائش کان بچي ويندس، پر جيڪا شيءِ علم الاهي ۾ مقدر هئي سا ٿي رهي. زيدؓ زينبؓ کي طلاق ڏئي ڇڏي ۽ ان رسم کي ٽوڙڻ لاءِ عملي تدبير طور ٥ هجري ۾ زينبؓ جو نڪاح پاڻ ﷺ سان ڪيو ويو.

مَا كَانَ عَلَى النَّبِيِّ مِنۡ حَرَجٍ فِيۡمَا فَرَضَ اللّٰهُ لَهٗ ؕ سُنَّةَ اللّٰهِ فِي الَّذِيۡنَ خَلَوۡا مِنۡ قَبۡلُ ؕ وَ
كَانَ اَمۡرُ اللّٰهِ قَدَرًا مَّقۡدُوۡرَا ﴿۳۸﴾ الَّذِيۡنَ يُبَلِّغُوۡنَ رِسٰلٰتِ اللّٰهِ وَ يَخۡشَوۡنَهٗ وَ لَا يَخۡشَوۡنَ

اَحَدًا اِلَّا اللّٰهَ ؕ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ حَسِيْبًا ﴿٣٩﴾ مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَآ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ وَ لٰكِنْ
رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَ خَاتَمَ النَّبِيّٖنَ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا ﴿٤٠﴾ ع

نبي جي لاءِ اُن (نڪاح) ۾ ڪو حرج نہ آهي. جيڪو الله هن لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو آهي. اها ئي الله جي سنت انهن پيغمبرن جي معاملي ۾ رهي آهي جيڪي اڳ ۾ گذري چڪا آهن ۽ الله جو حڪم هڪ قطعي فيصلو هوندو آهي. اُهي الله جي پيغامن کي پهچائيندا هئا ۽ ڪائنس ڊڄندا هئا ۽ الله کان سواءِ ڪنهن کان نہ ڊڄندا هئا ۽ الله حساب وٺڻ لاءِ ڪافي آهي، محمد اوهان جي مردن مان ڪنهن جو پيءُ نہ آهي، پر هو الله جو رسول ۽ خاتم النبيين آهي. ۽ الله هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي. ٣٨-٤٠

---

ان واقعي کان پوءِ توقع جي مطابق پاڻ ﷺ جي خلاف زبردست پروپيگنڊا شروع ٿي وئي. چيو وڃڻ لڳو تہ پيغمبر پنهنجي ننهن سان نڪاح ڪري ورتو. جڏهن تہ پٽ جي زال پيءُ تي حرام هوندي آهي. فرمايو ويو تہ محمد ﷺ جو معاملو تہ هي آهي جو ان جون صرف ڌيئرون آهن هو مردن مان ڪنهن جو بہ پيءُ نہ آهي. زيد بن حارث ان جو پٽيلو پٽ آهي ۽ پٽيلو حقيقت ۾ پٽ ڪيئن ٿي سگهي ٿو جو ان جي طلاق ڏنل سان نڪاح پاڻ ﷺ لاءِ جائز نہ هجي.

پاڻ ﷺ الله جا پيغمبر هئا. پوءِ بہ پاڻ ﷺ سان ايترا لاها چاڙها ڇو پيش آيا، ان جو جواب هي آهي تہ پيغمبر تي جيتوڻيڪ الله جي وحي ايندي آهي، پر ان کي عام انسانيت وانگر زندگي گذارڻي هوندي آهي. موجوده امتحان جي دنيا ۾ ان کي بہ اهڙيون ئي حالتون پيش اينديون آهن جهڙيون حالتون ٻين کي پيش اينديون آهن، جيڪڏهن ايئن نہ هجي تہ پيغمبر جي زندگي عام انسانن تي حجت نہ ٿي بڻجي سگهي. اهوئي سبب آهي جو پيغمبراڻي رهنمائي حقيقي حالتن جي ڍانچي ۾ ڏني ويندي آهي نہ وري مصنوعي حالتن جي ڍانچي ۾.

خاتم النبيين جو لفظي ترجمو هي آهي تہ پاڻ ﷺ نبين جي مُهر آهن. خاتم جو لفظ اسٽمپ (Stamp) جي لاءِ نہ ٿو اچي، بلڪ سيل (Seal) جي لاءِ اچي ٿو، يعني آخري عمل. لفافي کي سيل ڪرڻ جو مطلب ان کي آخري طور بند ڪرڻو آهي، تہ جيئن ان کان پوءِ نہ ڪا شيءِ ان جي اندر کان ٻاهر نڪري ۽ نہ ٻاهر کان اندر وڃي سگهي، جيئن تہ عربي زبان ۾ قوم جو خاتم قوم جي آخري شخص کي چيو ويندو آهي. (خاتم القوم آخرهم)

ان واقعي جي ذريعي پاڻ ﷺ جي خاتم النبيين هئڻ جي اعلان جو مطلب اهو آهي تہ پاڻ ﷺ کان پوءِ چاڪاڻ ڪو ٻيو نبي اچڻ وارو نہ آهي، ان ڪري ضروري آهي تہ سڀني خدائي ڳالهين جو اظهار پاڻ ﷺ جي ذريعي ڪري ڇڏجي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوا اللّٰهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا ﴿٤١﴾ وَّ سَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّ اَصِيْلًا ﴿٤٢﴾ هُوَ الَّذِيْ
يُصَلِّيْ عَلَيْكُمْ وَ مَلٰٓئِكَتُهٗ لِيُخْرِجَكُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ وَ كَانَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ
رَحِيْمًا ﴿٤٣﴾ تَحِيَّتُهُمْ يَوْمَ يَلْقَوْنَهٗ سَلٰمٌ ۚۖ وَ اَعَدَّ لَهُمْ اَجْرًا كَرِيْمًا ﴿٤٤﴾

اي ايمان وارو! الله کي تمام گهڻو ياد ڪريو ۽ ان جي تسبيح ڪريو صبح ۽ شام. اهوئي آهي جيڪو توهان تي رحمت موڪلي ٿو ۽ ان جا فرشتا بہ. تہ جيئن توهان کي اونداهين مان ڪڍي سوجهري ۾ آڻي ۽ هو مؤمنن تي وڏو مهربان آهي. جنهن ڏينهن اُهي (مؤمن) هن سان ملندا، سندن استقبال سلام سان ٿيندو ۽ هن انهن جي لاءِ عزت وارو اجر تيار ڪيو آهي. ٤١-٤٤

---

جڏهن ملاوٽي دين جو غلبو هجي، ان وقت سچي دين کي اختيار ڪرڻ سيني ڪان مشڪل ڪم هوندو آهي. اهڙين حالتن ۾ ايمان وارن جي دلين ۾ ڪڏهن ڪڏهن رنج ۽ مايوسي جا جذبا طاري ٿيڻ لڳندا آهن. ان ڪان بچڻ جي صرف هڪ ئي يقيني صورت آهي، ظاهري پريشانين ڪان پوءِ جيڪي ڪاميابي ۽ خوشي جا لمحا اچڻ وارا آهن انهن تي نظر ڄمائي رکجي.

ماڻهو مال ملڪيت جي سهاري تي جيئندا آهن. مؤمن کي فڪر (Idea) جي سهاري تي جيئڻو پوندو آهي، نظريي يا فڪر جي سطح تي جيئڻ اهو آهي تہ ماڻهو الله جي ياد ۾ جيئڻ لڳي. فرشتن جو نہ ڏسڻ ۾ اچڻ وارو ڪلام ان کي ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳي، ان کي صحيح مقصد اپنائڻ جي ڪري جيڪا نظرياتي دريافت ٿي آهي، ان کي هو سيني ڪان وڏي دولت سمجهي. دنيا کي ڏئي ڪري آخرت ۾ جيڪو ڪجهه ملڻ وارو آهي، ان تي هو پوري طرح راضي ۽ مطمئن ٿي وڃي.

يٰاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا ﴿٤٥﴾ وَّ دَاعِيًا اِلَى اللّٰهِ بِاِذْنِهٖ وَ سِرَاجًا مُّنِيْرًا ﴿٤٦﴾ وَ بَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ بِاَنَّ لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ فَضْلًا كَبِيْرًا ﴿٤٧﴾ وَ لَا تُطِعِ الْكٰفِرِيْنَ وَ الْمُنٰفِقِيْنَ وَ دَعْ اَذٰىهُمْ وَ تَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿٤٨﴾

اي نبي! اسان توکي شاهدي ڏيندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو آهي ۽ الله ڏانهن ان جي حڪم سان دعوت ڏيڻ وارو ۽ هڪ روشن ڏيئو ۽ مؤمنن کي خوشخبري ڏي تہ انهن لاءِ الله طرفان وڏو فضل آهي ۽ تون ڪافرن ۽ منافقن جي ڳالهہ نہ مڃ ۽ سندن ايذائڻ کي نظرانداز ڪر ۽ الله تي ڀروسو ڪر ۽ الله ڀروسي لاءِ ڪافي آهي. ٤٥-٤٨

---

شاهد، مبشر، نذير ۽ داعي. اهي سڀ هڪ ئي حقيقت جا مختلف پهلو آهن. پيغمبر جو مشن اهو آهي جو هو ماڻهن کي زندگي جي حقيقت ڪان خبردار ڪري، هو ماڻهن کي جنت ۽ جهنم جي خبر ڏي، اهو هڪ دعوتي عمل آهي ۽ ان ئي دعوتي عمل جي بنياد تي پيغمبر آخرت جي عدالت ۾ انهن ماڻهن تي گواهي ڏيندو جن کي هُن حق پهچايو ۽ پوءِ ڪنهن مڃيو ۽ ڪنهن نہ مڃيو.

پيغمبر جو جيڪو مشن آهي اهوئي مسلمان امت جو مشن بہ آهي ان راهہ ۾ ماڻهن طرفان اذيتون پيش اينديون آهن ڪو ساٿ نہ ٿو ڏي ۽ ڪو وقتي طور تي ساٿ ڏي ٿو ۽ پوءِ ڪوڙا عذر ڏئي جدا ٿي وڃي ٿو، اهڙين حالتن ۾ صرف الله تي ڀروسو ئي اها شيءِ آهي جيڪا پيغمبر (يا ان جي پيروي ڪندڙ داعي) کي دعوتي عمل تي ثابت قدم رکي ٿو. ماڻهن طرفان جيڪو ڪجهہ پيش اچي ان تي صبر ڪرڻ ۽ ان کي نظرانداز ڪرڻ ۽ هرحال ۾ خدا تي پنهنجون نظرون ڄمائي رکڻ اهوئي اسلام جي دعوت جي ڪم ڪرڻ واري جو اصل سرمايو آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِذَا نَكَحۡتُمُ الۡمُؤۡمِنٰتِ ثُمَّ طَلَّقۡتُمُوۡهُنَّ مِنۡ قَبۡلِ اَنۡ تَمَسُّوۡهُنَّ فَمَا لَكُمۡ عَلَيۡهِنَّ مِنۡ عِدَّةٍ تَعۡتَدُّوۡنَهَا‌ۚ فَمَتِّعُوۡهُنَّ وَسَرِّحُوۡهُنَّ سَرَاحًا جَمِيۡلًا ﴿۴۹﴾

اي ايمان وارو! جڏهن توهان مؤمن عورتن سان نڪاح ڪريو، پوءِ انهن کي هٿ لڳائڻ کان پهرين طلاق ڏيو. تڏهن مٿن ڪا عدت اوهان لاءِ ڪانهي، جنهن کي اوهين ڳڻيو. پوءِ کين ڪجهه مال ڏيو ۽ سٺي نموني سان کين رخصت ڪريو. ٤٩

---

هڪ ماڻهو ڪنهن عورت سان نڪاح ڪري، پر ملاقات جي نوبت اچڻ کان اڳ ان کي طلاق ڏئي ڇڏي ته اهڙي حالت ۾ عدت جي اها پابندي نه آهي جيڪا عام نڪاح ۾ هوندي آهي، البت اسلامي اخلاق جي تقاضا آهي ته جهڙي طرح باعزت انداز ۾ ٻنهي جي وچ ۾ تعلق جو معاملو ٿيو هو، اهڙي طرح باعزت طورتي ٻنهي جي وچ ۾ جدائي جو معاملو به ڪيو وڃي. ان عورت جو جيڪڏهن مهر مقرر ڪيو ويو هو ته مرد کي مقرر مهر جو اڌ ڏيڻو آهي يا وري پنهنجي حيثيت مطابق ڪجهه ڏئي چڱي نموني رخصت ڪيو وڃي. عورت جيڪڏهن چاهي ته فوراً ئي ٻيو نڪاح ڪري سگهي ٿي. ان صورت ۾ ان لاءِ عدت گذارڻ جي شرط نه آهي.

يٰۤاَيُّهَا النَّبِىُّ اِنَّاۤ اَحۡلَلۡنَا لَكَ اَزۡوَاجَكَ الّٰتِىۡۤ اٰتَيۡتَ اُجُوۡرَهُنَّ وَمَا مَلَكَتۡ يَمِيۡنُكَ مِمَّاۤ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلَيۡكَ وَبَنٰتِ عَمِّكَ وَبَنٰتِ عَمّٰتِكَ وَبَنٰتِ خَالِكَ وَبَنٰتِ خٰلٰتِكَ الّٰتِىۡ هَاجَرۡنَ مَعَكَ وَامۡرَاَةً مُّؤۡمِنَةً اِنۡ وَّهَبَتۡ نَفۡسَهَا لِلنَّبِىِّ اِنۡ اَرَادَ النَّبِىُّ اَنۡ يَّسۡتَنۡكِحَهَا خَالِصَةً لَّكَ مِنۡ دُوۡنِ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ‌ؕ قَدۡ عَلِمۡنَا مَا فَرَضۡنَا عَلَيۡهِمۡ فِىۡۤ اَزۡوَاجِهِمۡ وَمَا مَلَكَتۡ اَيۡمَانُهُمۡ لِكَيۡلَا يَكُوۡنَ عَلَيۡكَ حَرَجٌ‌ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوۡرًا رَّحِيۡمًا ﴿۵۰﴾

اي نبي! اسان تولاءِ حلال ڪري ڇڏيون تنهنجون اهي زالون جن کي تو مهر ادا ڪيو ۽ جيڪي ٻانهيون الله توتي عنايت ڪيون تن مان جن تي تنهنجو هٿ مالڪ ٿيو سي ۽ تنهنجي چاچي جون ڌيئرون ۽ تنهنجي ڦپين جون ڌيئرون ۽ تنهنجي مامن جون ڌيئرون ۽ تنهنجي ماسين جون ڌيئرون جن توسان هجرت ڪئي هجي ۽ اها مسلمان عورت به جيڪا پنهنجي پاڻ کي پيغمبر کي ڏئي ڇڏي. بشرطيڪ پيغمبر ان کي نڪاح ۾ آڻڻ چاهي، اهو خاص تولاءِ آهي ۽ مسلمانن لاءِ نه آهي. اسان کي معلوم آهي جيڪو ڪجهه اسان انهن تي سندن زالن تي ۽ سندن ٻانهين تي فرض ڪيو آهي، ته جيئن توتي ڪا تنگي نه رهي. الله بخشڻهار، مهربان آهي. ٥٠

---

عام مسلمانن جي لاءِ زالن جي آخري تعداد کي چار تائين محدود رکيو ويو آهي، پر پيغمبر جي لاءِ اها پابندي نه هئي. پاڻ ﷺ الله تعاليٰ جي خاص اجازت جي ڪري چار کان وڌيڪ نڪاح ڪيا. ان جي مصلحت اها هئي ته رسول تي ڪا تنگي نه رهي.

تنگي مان مراد پيغمبراڻي مشن جي ادائگي ۾ تنگي آهي. رسول الله ﷺ کي مختلف دعوتي ۽ اصلاحي تقاضن جي ڪري ضرورت محسوس ٿيندي هئي جو پاڻ ﷺ وڌيڪ عورتن کي پنهنجي نڪاح

۾ آڻي سگهن، ان ئي ديني مصلحت جي ڪري الله تعاليٰ پاڻ ﷺ لاءِ چار جي قيد نہ رکي. مثال طور حضرت عائشہ سان نڪاح ۾ اها مصلحت هئي تہ هڪ گهٽ عمر واري ذهين عورت پاڻ ﷺ جي صحبت ۾ مستقل رهي، تہ جيئن پاڻ ﷺ کان پوءِ ڊگهي مدت تائين ماڻهن کي دين سيکاريندي رهي. تنهن ڪري حضرت عائشہ پاڻ ﷺ جي وفات کان پوءِ (اڌ صدي) پنجاهہ سالن تائين امت جي لاءِ تعليم جو ذريعو بڻيل رهي. اهڙي طرح حضرت ام سلمہ ۽ حضرت ام حبيبہ سان نڪاح جو اهو فائدو ٿيو جو خالد بن وليد ۽ ابوسفيان بن حرب جي مخالفت هميشہ لاءِ ختم ٿي وئي، وغيره وغيره.

تُرْجِيْ مَنْ تَشَآءُ مِنْهُنَّ وَ تُـْٔوِيْۤ اِلَيْكَ مَنْ تَشَآءُ ؕ وَ مَنِ ابْتَغَيْتَ مِمَّنْ عَزَلْتَ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكَ ؕ ذٰلِكَ اَدْنٰۤى اَنْ تَقَرَّ اَعْيُنُهُنَّ وَ لَا يَحْزَنَّ وَ يَرْضَيْنَ بِمَاۤ اٰتَيْتَهُنَّ كُلُّهُنَّ ؕ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ مَا فِيْ قُلُوْبِكُمْ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَلِيْمًا ﴿۵۱﴾ لَا يَحِلُّ لَكَ النِّسَآءُ مِنْۢ بَعْدُ وَ لَاۤ اَنْ تَبَدَّلَ بِهِنَّ مِنْ اَزْوَاجٍ وَّ لَوْ اَعْجَبَكَ حُسْنُهُنَّ اِلَّا مَا مَلَكَتْ يَمِيْنُكَ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ رَّقِيْبًا ﴿۵۲﴾ ع ۱۲

تون انهن مان جنهن کي گهرين تنهن کي ڇڏي ڏين ۽ جنهن کي گهرين تنهن کي پاڻ وٽ جاءِ ڏين ۽ جن کي تو پاسي ڪيو تن مان وري جنهن کي طلب ڪرين تہ توتي ڪو گناهہ نہ آهي. هن (ڳالهہ) کي تمام ويجهو آهي تہ سندن اکيون ٺرن ۽ اهي غمگين نہ ٿين ۽ جيڪي تون کين ڏين تنهن کان اهي سڀ خوش ٿين ۽ الله ڄاڻي ٿو جيڪو توهان جي دلين ۾ آهي ۽ الله ڄاڻندڙ بردبار آهي. ان کان علاوه ٻيون عورتون تولاءِ حلال نہ آهن ۽ نہ اهو درست آهي جو تون انهن جي جاءِ تي ٻين زالن سان (نڪاح) ڪرين، جيتوڻيڪ سندن سونهن توکي پسند اچي. پر تنهنجو هٿ جنهن جو مالڪ ٿيو آهي ۽ الله هر شيءِ تي نگهبان آهي. ۵۱-۵۲

---

جتي ڪيترين ئي عورتن جو مسئلو هجي، اُتي شڪايت جو امڪان وڌي ويندو آهي. رسول الله ﷺ جون ڪيتريون ئي زالون هيون. ان ڪري انديشو هو جو سندن حقن جي باري ۾ انهن کي عدم مساوات جي شڪايت پيدا ٿئي ۽ ان جو نتيجو اهو نڪري جو رسول الله ﷺ دين جي جدوجهد ۾ پوري توجهہ نہ ڏئي سگهن. ان ڪري اعلان فرمايو ويو تہ پيغمبر جو معاملو خاص معاملو آهي ۽ هو عام مسلمانن وانگر زالن جي حقن جي ادائيگي ۾ مساوات جا پابند نہ آهن. زالن جي حقن جي رعايت ۽ اسلام جي حقن جي رعايت ۾ جيڪڏهن ٽڪراءُ ٿئي تہ پيغمبر جي لاءِ جائز هوندو جو هو اسلام جي حقن جي رعايت کي ترجيح ڏي. رسول الله ﷺ کي عام قانون کان آجو ڪرڻ جو مقصد اهو هو تہ زالن جي اندر شڪايتي ذهن جي پيدائش کي روڪي سگهجي، پوءِ بہ رسول الله ﷺ هن اختيار کي عملاً تمام گهٽ استعمال ڪيو.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَدْخُلُوْا بُيُوْتَ النَّبِيِّ اِلَّاۤ اَنْ يُّؤْذَنَ لَكُمْ اِلٰى طَعَامٍ غَيْرَ نٰظِرِيْنَ اِنٰىهُ ۙ وَ لٰكِنْ اِذَا دُعِيْتُمْ فَادْخُلُوْا فَاِذَا طَعِمْتُمْ فَانْتَشِرُوْا وَ لَا مُسْتَاْنِسِيْنَ لِحَدِيْثٍ ؕ

اِنَّ ذٰلِكُمۡ كَانَ يُؤۡذِى النَّبِىَّ فَيَسۡتَحۡىٖ مِنۡكُمۡ‌ۖ وَ اللّٰهُ لَا يَسۡتَحۡىٖ مِنَ الۡحَـقِّ‌ؕ وَ اِذَا
سَاَلۡتُمُوۡهُنَّ مَتَاعًا فَسۡـَٔلُوۡهُنَّ مِنۡ وَّرَآءِ حِجَابٍ‌ؕ ذٰ لِكُمۡ اَطۡهَرُ لِقُلُوۡبِكُمۡ وَقُلُوۡبِهِنَّ‌ؕ وَ
مَا كَانَ لَـكُمۡ اَنۡ تُؤۡذُوۡا رَسُوۡلَ اللّٰهِ وَلَاۤ اَنۡ تَـنۡكِحُوۡۤا اَزۡوَاجَهٗ مِنۡۢ بَعۡدِهٖۤ اَبَدًا‌ ؕ اِنَّ ذٰ لِكُمۡ
كَانَ عِنۡدَ اللّٰهِ عَظِيۡمًا ﴿۵۳﴾ اِنۡ تُبۡدُوۡا شَيۡـــًٔا اَوۡ تُخۡفُوۡهُ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُلِّ شَىۡءٍ عَلِيۡمًا ﴿۵۴﴾

اي ايمان وارو! نبي جي گهرن ۾ نہ وينداڪريو مگر جنهن وقت توهان کي طعام جي لاءِ اجازت ڏني وڃي. (۽) ان جي تيار ٿيڻ جو انتظار ڪندڙ نہ هجو، پر جڏهن اوهان کي سڏيو وڃي تڏهن اندر وڃو. پوءِ جڏهن ڪائي وٺو تڏهن اٿي هليا وڃو ۽ ڳالهين ۾ لڳي ويهي نہ رهو. ان ڳالهہ سان نبي کي ايذاءُ پهچي ٿو، پر هو توهان جو لحاظ ڪندو آهي ۽ الله حق ڳالهہ چوڻ ۾ ڪنهن جو لحاظ نہ ٿو ڪري ۽ جڏهن توهان (پيغمبر جي گهروارين) کان ڪا شيءِ گهرو تہ پردي جي اوٽ ۾ ڪائڻ گهرو. اهو طريقو توهان جي دلين لاءِ گهڻو پاڪ آهي ۽ انهن جي دلين لاءِ بہ ۽ توهان لاءِ جائز نہ آهي جو توهان الله جي رسول کي تڪليف ڏيو ۽ نہ اهو جائز آهي تہ توهان ان کان پوءِ سندس زالن سان ڪڏهن نڪاح ڪريو، اها الله وٽ وڏي سنگين ڳالهہ آهي. توهان ڪنهن شيءِ کي ظاهر ڪريو يا ان کي لڪايو، بيشڪ الله هر شيءِ کي ڄاڻڻ وارو آهي. ۵۳-۵۴

---

هتي رسول الله ﷺ جي باري ۾ حڪم ڏيندي مسلمانن کي هدايو ويو آهي تہ سندن معاشرتي آداب ڪهڙي قسم جا هئڻ گهرجن. مسلمان ٻين جي گهرن ۾ داخل ٿين تہ اجازت گهري داخل ٿين، طعام يا ٻي ڪنهن ضرورت لاءِ سڏايو وڃي تہ صرف ضرورت پوري ٿيڻ تائين اتي ويهن ۽ ڪم کان فارغ ٿيندي ئي فوراً موٽي وڃن. ٻين سان ملڻ لاءِ وڃن تہ غيرضروري ڳالهين کان پرهيز ڪن. عورتن سان ڪم هجي تہ پردي جو اهتمام ڪندي ان کي انجام ڏين. وغيره.

معاشرتي زندگي ۾ ماڻهو کي رڳو پنهنجي خواهش يا ضرورت کي نہ ڏسڻ گهرجي، بلڪ ان کي سختي سان ان ڳالهہ جو لحاظ ڪرڻ گهرجي تہ ان جي رويي سان ٻئي ماڻهو کي تڪليف نہ پهچي. ان جون غيرضروري ڳالهيون ٻين جو وقت ضايع ڪرڻ واريون نہ هجن.

لَا جُنَاحَ عَلَيۡهِنَّ فِىۡۤ اٰبَآئِهِنَّ وَلَاۤ اَبۡنَآئِهِنَّ وَلَاۤ اِخۡوَانِهِنَّ وَلَاۤ اَبۡنَآءِ اِخۡوَانِهِنَّ وَلَاۤ
اَبۡنَآءِ اَخَوٰتِهِنَّ وَلَا نِسَآئِهِنَّ وَلَا مَا مَلَـكَتۡ اَيۡمَانُهُنَّ‌ ۚ وَاتَّقِيۡنَ اللّٰهَ‌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰى
كُلِّ شَىۡءٍ شَهِيۡدًا ﴿۵۵﴾

پيغمبر جي گهروارين تي پنهنجي پيئرن جي باري ۾ ڪو گناهہ نہ آهي ۽ نہ پنهنجن پٽن جي باري ۾ ۽ نہ پنهنجن ڀائرن جي باري ۾ ۽ نہ پنهنجن ڀائٽين جي باري ۾ ۽ نہ پنهنجن ڀاڻيجن جي باري ۾ ۽ نہ پنهنجن عورتن جي باري ۾ ۽ نہ پنهنجن ٻانهين جي باري ۾ ۽ توهان الله کان ڊڄنديون رهو. بيشڪ الله هر شيءِ تي شاهد آهي. ۵۵

---

مٿين آيت ۾ مردن جي لاءِ منع هئي جو اُهي رسول جي زالن جي سامهون نہ اچن. هن آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ محرم مائٽ ۽ ملڻ جلڻ واريون عورتون ان پابندي کان آزاد آهن، هتي جن رشتن جو

ذڪر آهي، ان ۾ اُهي رشتا بہ اچي ويندا جيڪي ان حڪم ۾ داخل هجن. قرآن جي هن هدايت جي وڌيڪ تفصيل سورة النور (آيت ۳۱) ۾ موجود آهي.

سيني حڪمن جو خلاصو اهو آهي تہ عورت هجي يا مرد ان جي دل ۾ الله جو ڊپ هجي. اهو ايئن سمجهي زندگي گذاري تہ الله هر حال ۾ ان جي نگراني ڪري رهيو آهي.

اِنَّ اللّٰهَ وَ مَلٰٓىِٕكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَ سَلِّمُوْا
تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ وَ اَعَدَّ لَهُمْ
عَذَابًا مُّهِيْنًا ﴿۵۷﴾ وَ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتِ بِغَيْرِ مَا اكْتَسَبُوْا فَقَدِ
ع۷ احْتَمَلُوْا بُهْتَانًا وَّ اِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿۵۸﴾

الله ۽ سندس ملائڪ نبي تي رحمت موڪليندا آهن. اي ايمان وارؤ! توهان بہ مٿس درود ۽ سلام موڪليو. جيڪي ماڻهو الله ۽ سندس رسول کي ايذائيندا آهن، الله انهن تي دنيا ۾ آخرت ۾ لعنت ڪئي ۽ انهن لاءِ ذليل ڪرڻ وارو عذاب تيار ڪري رکيو آهي ۽ جيڪي ماڻهو مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن کي ايذائيندا آهن ان تي جيڪو انهن نہ ڪيو هجي تہ انهن ڪوڙي تاهر ۽ پڌري گناهہ جو بار کنيو. ۵۶-۵۸

---

رسول الله ﷺ دنيا ۾ الله جي دين جو اظهار ڪرڻ لاءِ موڪليا ويا. الله جو جيڪو بانهو اهڙي مقدس ڪم لاءِ اٿي تہ ان کي الله ۽ سندس فرشتن جي ڪامل مدد حاصل هوندي آهي. ان جو ساٿ ڏيڻ الله ۽ سندس فرشتن جو ساٿ ڏيڻ هوندو آهي ۽ ان کان منهن موڙڻ الله ۽ سندس فرشتن کان منهن موڙڻ آهي.

جن ماڻهن رسول الله ﷺ کي ستايو، اُهي پنهنجي خيال مطابق صرف هڪ انسان کي ستائي رهيا هئا، پر انهن کان وسري ويو تہ هو الله جي نمائندي کي ستائي رهيا آهن ۽ جيڪي ماڻهو الله جي نمائندي کي ستائين تہ انهن مالڪ ڪائنات جي نظر ۾ خود کي هميشہ لاءِ ملعون بڻائي ڇڏيو.

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ وَ بَنٰتِكَ وَ نِسَآءِ الْمُؤْمِنِيْنَ يُدْنِيْنَ عَلَيْهِنَّ مِنْ
مع عند المتأخرين جَلَابِيْبِهِنَّ ؕ ذٰلِكَ اَدْنٰٓى اَنْ يُّعْرَفْنَ فَلَا يُؤْذَيْنَ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۵۹﴾ لَىِٕنْ لَّمْ
يَنْتَهِ الْمُنٰفِقُوْنَ وَ الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ وَّ الْمُرْجِفُوْنَ فِي الْمَدِيْنَةِ لَنُغْرِيَنَّكَ
بِهِمْ ثُمَّ لَا يُجَاوِرُوْنَكَ فِيْهَآ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿۶۰﴾ مَّلْعُوْنِيْنَ ۛ اَيْنَمَا ثُقِفُوْٓا اُخِذُوْا وَ قُتِّلُوْا
تَقْتِيْلًا ﴿۶۱﴾ سُنَّةَ اللّٰهِ فِي الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلُ ۚ وَ لَنْ تَجِدَ لِسُنَّةِ اللّٰهِ تَبْدِيْلًا ﴿۶۲﴾

اي نبي! پنهنجن گهروارين کي چئو ۽ پنهنجن ڌيئرن کي ۽ مسلمانن جي عورتن کي تہ پنهنجون چادرون پاڻ تي هيٺ ڪري وجهن. ان سان هو سڃاتيون وڃن تہ جيئن هو ستايون نہ وڃن ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. منافق ۽ جن جي دلين ۾ بيماري آهي ۽ جيڪي مديني ۾ ڪوڙيون خبرون پکيڙڻ وارا آهن، جيڪڏهن اهي باز نہ آيا تہ اسان توکي انهن تي مسلط ڪرڻ لاءِ اٿاريندا سون. پوءِ تورن (ڏينهن) کان سواءِ مديني ۾ اهي تنهنجا پاڙيسري نہ

ٽيندا. لعنت ڪيل آهن، جتي ليندا اُتي پڪڙبا ۽ چڱي طرح ماربا. اڳين ۾ به الله جو اهڙو ئي دستور رهيو آهي ۽ تون الله جي دستور ۾ ڪڏهن به تبديلي نه ڏسندين. ٥٩-٦٢

---

مسلمان عورت جڏهن ڪنهن ضرورت لاءِ پنهنجي گهر کان ٻاهر نڪري ته هو ڪهڙي طرح نڪري. ان ڪي اهڙي لباس ۾ نڪرڻ گهرجي جيڪو ان ڳالهه جو هڪ خاموش اعلان هجي ته هو هڪ شريف ۽ حيا واري عورت آهي، هو خاص ضرورت جي ڪري ٻاهر نڪتي آهي نه وري تفريح ۽ دل لڳي جي لاءِ. سادا ڪپڙا، حيا سان هلڻ، چادر يا برقعي سان جسم جو ڍڪيل هجڻ، ان ئي ڳالهه جي هڪ علامت آهي. حقيقت اها آهي ته جسماني نمائش سان ٻاهر نڪرڻ ٻين کي رغبت جي دعوت ڏيڻ آهي ۽ جسماني نمائش جي بغير نڪرڻ جڻ ته عمل جي زبان ۾ ٻين کي اهو چوڻ آهي ته آئون صرف پنهنجي ڪم سان ٻاهر نڪتي آهيان. مون کي توهان سان ڪو مطلب نه آهي.

”دل جي مريضن“ مان هتي مراد گهڻو ڪري يهودي آهن. ڇاڪاڻ ته اهي ئي ماڻهو مسلمانن کي ۽ مسلمان عورتن کي گهڻو پريشان ڪري رهيا هئا ۽ اهي ئي ماڻهو هئا جيڪي تنبيهه کان پوءِ قتل ڪيا ويا يا شهر مان ڪڍيا ويا.

يَسْـَٔلُكَ النَّاسُ عَنِ السَّاعَةِ ؕ قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَ مَا يُدْرِيْكَ لَعَلَّ السَّاعَةَ
تَكُوْنُ قَرِيْبًا ۝٦٣ اِنَّ اللّٰهَ لَعَنَ الْكٰفِرِيْنَ وَ اَعَدَّ لَهُمْ سَعِيْرًا ۝٦٤ خٰلِدِيْنَ فِيْهَاۤ اَبَدًا ۚ لَا
يَجِدُوْنَ وَلِيًّا وَّ لَا نَصِيْرًا ۝٦٥ يَوْمَ تُقَلَّبُ وُجُوْهُهُمْ فِي النَّارِ يَقُوْلُوْنَ يٰلَيْتَنَاۤ اَطَعْنَا اللّٰهَ
وَ اَطَعْنَا الرَّسُوْلَا ۝٦٦ وَ قَالُوْا رَبَّنَاۤ اِنَّاۤ اَطَعْنَا سَادَتَنَا وَ كُبَرَآءَنَا فَاَضَلُّوْنَا السَّبِيْلَا ۝٦٧
رَبَّنَاۤ اٰتِهِمْ ضِعْفَيْنِ مِنَ الْعَذَابِ وَ الْعَنْهُمْ لَعْنًا كَبِيْرًا ۝٦٨

ماڻهو تو کان قيامت جي باري ۾ پڇن ٿا. چئو ته ان جو علم صرف الله وٽ آهي ۽ تو کي ڪهڙي خبر شايد قيامت ويجهي اچي ٿي هجي. بيشڪ الله منڪرن کي رحمت کان پري ڪري ڇڏيو آهي ۽ سندن لاءِ ٻرڪندڙ باهه تيار ڪئي آهي. ان ۾ اهي هميشه رهندا. نڪي ڪو سڄڻ ۽ نڪي ڪو مددگار لهندا. جنهن ڏينهن سندن منهن باهه ۾ اونڌا ڪيا ويندا. اهي چوندا ڪاش! اسان الله جي اطاعت ڪئي هجي ها ۽ اسان رسول جي اطاعت ڪئي هجي ها ۽ اُهي چوندا ته اي اسان جا رب! اسان پنهنجن سردارن ۽ پنهنجن وڏن جو چيو ورتو ته انهن اسان کي رستي کان ڀٽڪائي ڇڏيو، اي اسان جا رب! انهن کي ٻيڻو عذاب ڏي ۽ مٿن تمام وڏي لعنت ڪر. ٦٣-٦٨

---

قيامت جي تاريخ پڇڻ جو مطلب اهو نه آهي ته اُهي ماڻهو قيامت جي اچڻ کي مڃيندا ئي نه هئا. اهو دراصل قيامت جو مذاق اڏائڻ نه هو. بلڪ قيامت جي خبر ڏيڻ واري جو مذاق اڏائڻ هو. اُهي قيامت جا منڪر نه هئا، پر قيامت جي ان نوعيت جا منڪر هئا جنهن جي خبر رسول الله ﷺ ۽ اصحاب رسول انهن کي ڏئي رهيا هئا.

انهن جي اصل غلطي اها هئي جو انهن پنهنجي قوم جي بزرگن کي وڏو سمجهو ۽ پيغمبر کي وڏو نه سمجهيو. ان ڪري انهن کي پنهنجن قومي بزرگن جي ڳالهه لحاظ جي قابل نظر آئي ۽ پيغمبر جي ڳالهه ڪنهن لحاظ جي قابل نظر نه آئي. جڏهن قيامت ۾ اصل حقيقت واضح ٿيندي ته اهي افسوس ڪندا

تہ ڪاش! اسان ڪوڙي وڏائي ۾ سچي وڏائي جي فرق کي سمجهون ها ۽ ڪوڙي وڏائي جي فريب ۾ مبتلا ٿي ڪري گمراھ نہ ٿيون ها.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ اٰذَوْا مُوْسٰى فَبَرَّاَهُ اللّٰهُ مِمَّا قَالُوْا ؕ وَ كَانَ عِنْدَ اللّٰهِ وَجِيْهًا ﴿۶۹﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ قُوْلُوْا قَوْلًا سَدِيْدًا ﴿۷۰﴾ يُّصْلِحْ لَكُمْ اَعْمَالَكُمْ وَ يَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ؕ وَ مَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ فَقَدْ فَازَ فَوْزًا عَظِيْمًا ﴿۷۱﴾

اي ايمان وارو! توهان انهن ماڻهن وانگر نہ ٿجو جن موسيٰ کي ايذايو. پوءِ جيڪي چيائون تنهن کان الله کيس پاڪ ڪيو ۽ هو الله وٽ عزت وارو هو. اي ايمان وارو! الله کان ڊڄو ۽ سڌي ڳالھ چئو. هو توهان جا عمل سڌاريندو ۽ توهان جا گناھ معاف ڪندو ۽ جيڪو ماڻهو الله ۽ سندس رسول جي اطاعت ڪندو. ان وڏي مراد ماڻي. ٦٩-٧١

---

”يهودين وانگر پيغمبر کي نہ ستايو“ مان ڇا مراد آهي. ان جي وضاحت هڪ واقعي مان ٿيندي آهي. رسول اللهﷺ مديني ۾ هئا. هڪ دفعو پاڻﷺ وٽ ڪجھ مال آيو. پاڻﷺ ان کي ماڻهن ۾ تقسيم ڪيو. ان کان پوءِ انصارن منجهان هڪ ماڻهو ٻئي ماڻهو کي چيو خدا جو قسم محمد ان تقسيم سان الله جي رضا ۽ آخرت جو گهر نہ چاهيو اٿس. (والله ماارادِ محمد بقسمتہ وجہ الله ولاالدار الاخرة). ان واقعي جي خبر رسول اللهﷺ کي ڏني وئي تہ پاڻﷺ فرمايو موسيٰؑ تي الله جي رحمت هجي. ان کي هن کان بہ وڌيڪ ايذا ڏنو ويو. پر هن صبر ڪيو (رحمة الله عليٰ موسيٰ لقد اوذي باڪثر من هذا فصبر. تفسير ابن ڪثير).

ڪلام جا ٻہ قسم آهن. هڪ آهي سڌو ڪلام. ٻيو آهي اڻ سڌو ڪلام. سڌو ڪلام اهو آهي جيڪو حقيقت مطابق هجي، جيڪو واقعي جي تجزيي مطابق هجي، جيڪو ٺوس دليل سان پيش ڪيو وڃي. ان جي ابتڙ اڻ سڌو ڪلام اهو آهي جنهن ۾ حقيقت جو لحاظ شامل نہ هجي، جنهن جو بنياد گمان تي قائم هجي، جنهن جي حيثيت رڳو هڪ راءِ جي هجي، نہ وري واقعي جي حقيقت مطابق. اول ذڪر ڪيل ڪلام مؤمناڻو ڪلام آهي ۽ ٻيو ڪلام منافقاڻو ڪلام آهي.

اِنَّا عَرَضْنَا الْاَمَانَةَ عَلَى السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ الْجِبَالِ فَاَبَيْنَ اَنْ يَّحْمِلْنَهَا وَ اَشْفَقْنَ مِنْهَا وَ حَمَلَهَا الْاِنْسَانُ ؕ اِنَّهٗ كَانَ ظَلُوْمًا جَهُوْلًا ﴿۷۲﴾ لِّيُعَذِّبَ اللّٰهُ الْمُنٰفِقِيْنَ وَ الْمُنٰفِقٰتِ وَ الْمُشْرِكِيْنَ وَ الْمُشْرِكٰتِ وَ يَتُوْبَ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتِ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۷۳﴾ ع ۹

بيشڪ اسان امانت کي آسمانن ۽ زمين ۽ جبلن جي سامهون پيش ڪيو تہ انهن ان کي کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ اهي ڪانئس ڊنا ۽ انسان ان کي کنيو، بيشڪ هو وڏو ظالم ۽ جاهل آهي، تہ جيئن الله منافق مردن ۽ منافق عورتن کي ۽ مشرڪ مردن ۽ مشرڪ عورتن کي سزا ڏي ۽ مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن تي ٻاجھ سان موٽي. الله بخشڻهار مهربان آهي. ٧٢-٧٣

---

امانت مان مراد اختيار آهي. اختيار کي امانت ان ڪري فرمايو ويو جو اها الله جي هڪ شيءِ آهي، جنهن کي ان عارضي طور انسان کي آزمائش لاءِ ڏني آهي، ته جيئن انسان خود پنهنجي ارادي سان الله جو فرمانبردار بڻجي. امانت ٻين لفظن ۾ پاڻ تي الله جو قائم مقام ٿيڻ آهي، پنهنجي پاڻ تي اهو سڀ ڪجهه ڪرڻو آهي جيڪو خدا ستارن ۽ سيارن تي ڪري رهيو آهي، يعني پنهنجي اختيار ۽ مرضي سان پاڻ کي الله جي ڪنٽرول ۾ ڏئي ڇڏڻو آهي.

هن ڪائنات ۾ صرف الله حاڪم آهي ۽ سڀئي شيون ان جون محڪوم آهن، پر الله تعاليٰ جي مرضي هئي جو هو هڪ اهڙي آزاد مخلوق پيدا ڪري، جيڪا ڪنهن جبر ڪان سواءِ خود پنهنجي اختيار سان اهوئي ڪري جيڪو الله ان ڪان ڪرائڻ چاهي ٿو. اها اختياري فرمانبرداري وڏي نازڪ آزمائش هئي. آسمان ۽ زمين ۽ جبل به ان کي برداشت نه ڪري سگهيا. جيئن ته انسان سخت انديشي جي باوجود ان کي قبول ڪري ورتو. هاڻي انسان موجوده دنيا ۾ الله جي هڪ امانت جو امين آهي. ان کي پاڻ تي اهوئي ڪرڻو آهي جيڪو الله ٻين شين تي ڪري رهيو آهي. انسان کي پاڻ تي الله جو حڪم هلائڻو آهي. انسان امتحان جي حالت ۾ آهي ۽ موجوده دنيا ان لاءِ هڪ وسيع امتحان جي جاءِ آهي.

اها امانت هڪ بيحد نازڪ ذميداري آهي، ڇاڪاڻ ته ان ئي جي ڪري جزا ۽ سزا جو مسئلو پيدا ٿيندو آهي. ٻي مخلوق مجبور ۽ بيوس آهي. ان لاءِ جزا ۽ سزا جو مسئلو نه آهي. انسان آزاد آهي، ان ڪري اُهو جزا ۽ سزا جو مستحق بڻجي ٿو. حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي ته الله تعاليٰ امانت کي آدم جي سامهون پيش ڪيو ته آدم عليه السلام پڇيو ته امانت ڇا آهي. الله تعاليٰ فرمايو جيڪڏهن توهان چڱو عمل ڪندؤ ته توهان کي ان جو بدلو ملندو ۽ جيڪڏهن توهان برو عمل ڪندو ته توهان کي سزا ڏني ويندي. (قال ان احسنت جزيت وان اسات عوقبت، تفسير ابن ڪثير)

## (٣٤) سُوْرَةُ سَبَا مَكِّيَّةٌ (٥٨)

اٰياتها ٥٤ — رکوعاتها ٦

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِيۡ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الۡاَرۡضِ وَ لَهُ الۡحَمۡدُ فِي الۡاٰخِرَةِ ؕ وَ هُوَ
الۡحَكِيۡمُ الۡخَبِيۡرُ ۝١ يَعۡلَمُ مَا يَلِجُ فِي الۡاَرۡضِ وَ مَا يَخۡرُجُ مِنۡهَا وَ مَا يَنۡزِلُ مِنَ
السَّمَآءِ وَ مَا يَعۡرُجُ فِيۡهَا ؕ وَ هُوَ الرَّحِيۡمُ الۡغَفُوۡرُ ۝٢

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

سڀ ساراهه الله لاءِ آهي جنهن جو اهو سڀ آهي جيڪو آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو زمين ۾ آهي ۽ ان ئي جي ساراهه آخرت ۾ آهي ۽ اهوئي حڪمت وارو خبر رکندڙ آهي. هو ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهه زمين ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ جيڪو ڪجهه ان مان نڪري ٿو ۽ جيڪو آسمان مان لهندو آهي ۽ جيڪو منجهس چڙهندو آهي ۽ اهو بخشڻهار مهربان آهي. ١-٢

ڪائنات خود پنهنجي خالق جو تعارف آهي. ان جي حيرت انگيز وسعت خالق جي عظمت کي ٻڌائي ٿي. ان جو ڪمال جي حدتائين صحيح ۽ موزون هجڻ ٻڌائي ٿو ته ان کي پيدا ڪرڻ واري هستي هڪ ڪامل ۽ مڪمل هستي آهي. ان جي سڀني جزن جو هم آهنگي سان عمل ڪرڻ ثابت ڪري ٿو ته ان کي هلائڻ وارو انتهائي دانا ۽ عليم آهي. ڪائنات جو انسان لاءِ مڪمل طور تي سازگار ۽ موافق هجڻ ظاهر ڪري ٿو ته ان جو خالق پنهنجي مخلوق تي وڏو رحيم ۽ ڪريم آهي.

جيڪو ماڻهو ڪائنات تي غور ڪندو ته اهو الله جي جلال ۽ ڪمال جي احساس سان سرشار ٿي ويندو. اهو يقين ڪري وٺندو ته اول کان آخر تائين سڀئي عظمتون صرف هڪ الله لاءِ آهن. ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي لاءِ نه آهن.

وَ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَا تَاْتِيْنَا السَّاعَةُ ؕ قُلْ بَلٰى وَ رَبِّيْ لَتَاْتِيَنَّكُمْ ۙ عٰلِمِ الْغَيْبِ ۚ لَا
يَعْزُبُ عَنْهُ مِثْقَالُ ذَرَّةٍ فِي السَّمٰوٰتِ وَ لَا فِي الْاَرْضِ وَ لَآ اَصْغَرُ مِنْ ذٰلِكَ وَ لَآ اَكْبَرُ اِلَّا
فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ۟ۙ ٣ لِّيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ
رِزْقٌ كَرِيْمٌ ۝ ۴ وَ الَّذِيْنَ سَعَوْ فِيْٓ اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيْنَ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ مِّنْ رِّجْزٍ اَلِيْمٌ ۝ ۵
وَ يَرَى الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ هُوَ الْحَقَّ ۙ وَ يَهْدِيْٓ اِلٰى
صِرَاطِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ ۝ ٦

۽ جن انڪار ڪيو، اُهي چوندا آهن ته اسان تي قيامت نه ايندي. چؤ ته ڇو نه. قسم آهي غيب کي ڄاڻندڙ منهنجي رب جو اها ضرور توهان تي ايندي. ان کان ذرو برابر ڪا شيءِ لڪيل نه آهي، نه آسمانن ۾ ۽ نه زمين ۾ ۽ نه ڪا شيءِ ان کان ننڍي ۽ نه وڏي، پر اُها هڪ پڌري ڪتاب ۾ لکيل آهي، ته جيئن هو انهن ماڻهن کي بدلو ڏي جن ايمان آندو ۽ نيڪ ڪم ڪيا. اهي ئي ماڻهو آهن جن لاءِ معافي آهي ۽ عزت جي روزي ۽ جيڪي ماڻهو اسان جي آيتن ۾ مقابلو ڪندڙ ٿي ڊوڙيا، سندن لاءِ سخت ڏکوئيندڙ عذاب آهي ۽ جن کي علم ڏنو ويو آهي، اهي ان شيءِ کي جيڪا تنهنجي رب طرفان توڏانهن نازل ڪيو ويو آهي ڄاڻندا آهن ته اهو حق آهي ۽ اهو غالب ساراهيل (الله) جي واٽ ڏيکاريندڙ آهي. ٣-٦

---

قرآن جن سان مخاطب هو، اهي قيامت جا منڪر نه هئا. اهي رڳو ان ڳالهه جا منڪر هئا ته قيامت سندن لاءِ رسوائي ۽ عذاب بڻجي ايندي، موجوده دنيا ۾ اُهي پاڻ کي مادي لحاظ کان محفوظ حالت ۾ ڏسندا هئا. ان ڪري انهن کي سمجهه ۾ نه ايندو هو ته آخرت ۾ پهچي اهي غيرمحفوظ ڇو ٿي ويندا.

پر اهو قياس سراسر باطل آهي. موجوده دنيا جو مطالعو ٻڌائي ٿو ته ان جي تخليق اخلاقي اصولن تي ٿي آهي ۽ جڏهن ڪائنات جي تخليق اخلاقي بنياد تي ٿي آهي ته ان جو آخري فيصلو به لازمي طور تي اخلاقي بنياد تي ٿيڻ کپي، نه وري گمان جي بنياد تي.

زندگي ۽ ڪائنات جي اها حقيقت سڀني آسماني ڪتابن ۾ موجود آهي. قرآن جو مشن اهو آهي ته ان حقيقت کي قرآن ان جي خالص ۽ ملاوٽ کان پاڪ صورت ۾ ظاهري ڪري ڇڏي، پوءِ جيڪي

ماڻهو ان جا مخالف ٿين تہ اهي زبردست جسارت ڪري رهيا آهن. الله وٽ اهي سخت ترين سزا جا مستحق قرار ڏنا ويا.

وَ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا هَلْ نَدُلُّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ يُّنَبِّئُكُمْ اِذَا مُزِّقْتُمْ كُلَّ مُمَزَّقٍ ۙ اِنَّكُمْ
لَفِيْ خَلْقٍ جَدِيْدٍ ۚ﴿۷﴾ اَفْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَمْ بِهٖ جِنَّةٌ ؕ بَلِ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ
بِالْاٰخِرَةِ فِي الْعَذَابِ وَ الضَّلٰلِ الْبَعِيْدِ ﴿۸﴾ اَفَلَمْ يَرَوْا اِلٰى مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَ مَا خَلْفَهُمْ
مِّنَ السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ ؕ اِنْ نَّشَاْ نَخْسِفْ بِهِمُ الْاَرْضَ اَوْ نُسْقِطْ عَلَيْهِمْ كِسَفًا مِّنَ
السَّمَآءِ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّكُلِّ عَبْدٍ مُّنِيْبٍ ﴿۹﴾ ع

۽ جن انڪار ڪيو اهي چون ٿا ڇا اسان توهان کي اهڙو ماڻهو ڏسيون جيڪو توهان کي خبر ڏي ٿو تہ جڏهن توهان بلڪل ذره ذره ٿي ويندو تہ وري توهان کي نئين سر بڻايو ويندو. ڇا ان الله تي ڪوڙو ناهہ ٺاهيو آهي يا ان کي ڪنهن قسم جو جنون آهي. بلڪ جيڪي ماڻهو آخرت تي يقين نہ ٿا رکن سي عذاب ۾ هوندا ۽ اهي وڏي پل ۾ آهن. ڇا انهن آسمان ۽ زمين منجهان جيڪي سندن اڳيان ۽ پٺيان آهي سو نہ ڏٺائون. جيڪڏهن اسان گهرون تہ کين زمين ۾ گهائي ڇڏيون يا آسمان کان مٿن ٽڪرا ڪيرايون. بيشڪ ان ۾ نشاني آهي هر ان ٻانهي لاءِ جيڪو رجوع ڪندڙ آهي. ٧-٩

---

مڪي جا ماڻهو رسول ﷺ ۽ اصحاب رسول کي حقير سمجهندا هئا. ان ڪري اهي انهن جي هر ڳالهہ جو مذاق اڏائيندا هئا. ان جو اصل سبب آخرت جي باري ۾ سندن بي يقيني هو. آخرت جي پڪڙ جو انديشو سندن دلين ۾ نہ هو. ان ڪري اهي آخرت جي ڳالهين جي باري ۾ سنجيده بہ نہ ٿي سگهيا.

هن دنيا ۾ سڀني کان وڏو عذاب اهو آهي جو ماڻهو صحيح سوچ کان محروم ٿي وڃي. اهڙو ماڻهو ڪنهن شيءِ کي ان جي صحيح روپ ۾ ڏسي نہ ٿو سگهي، پڙرين حقيقتن مان بہ ان کي نصيحت حاصل نہ ٿي ٿئي. مثلاً مٿين فضا مان مسلسل بيشمار پٿر تيز رفتاري سان زمين ڏانهن ڪرندا رهندا آهن، جيڪڏهن اهي پٿر انساني وسندين تي ڪرڻ لڳن تہ انساني نسل جو خاتمو ٿي وڃي. اهڙي طرح زمين جو هيٺون حصو گرم پگهريل لاوا آهي، جيڪڏهن اهو غيرمحدود طور تي ڦاٽي پوي تہ زمين جي سطح تي هر شيءِ سڙي ختم ٿي وڃي. پر الله پنهنجي خاص انتظام جي تحت ايئن ٿيڻ نہ ٿو ڏي. آسمان ۽ زمين ۾ اهڙي قسم جون واضح نشانيون آهن، جيڪي انسان جي عجز کي ٻڌائي رهيون آهن. پر ماڻهو جڏهن صحيح سوچ کان محروم ٿي ويندو آهي تہ ڪا نشاني ان کي هدايت ڏيڻ واري نہ ٿي بڻجي سگهي.

وَ لَقَدْ اٰتَيْنَا دَاوٗدَ مِنَّا فَضْلًا ؕ يٰجِبَالُ اَوِّبِيْ مَعَهٗ وَ الطَّيْرَ ۚ وَ اَلَنَّا لَهُ الْحَدِيْدَ ۙ﴿۱۰﴾ اَنِ
اعْمَلْ سٰبِغٰتٍ وَّ قَدِّرْ فِي السَّرْدِ وَ اعْمَلُوْا صَالِحًا ؕ اِنِّيْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۱۱﴾

۽ اسان دائود کي پاڻ وٽان وڏي نعمت ڏني. اي جبلو! ساڻس تسبيح ۾ شريڪ ٿيو ۽ اهڙي طرح پکين کي بہ حڪم ڏنو ۽ اسان لوهہ کي ان لاءِ نرم ڪري ڇڏيو تہ ويڪريون زرهون بڻائي ۽ اندازي سان ڪڙيون ٺاهي ۽ (دائود جا گهر وارؤ) نيڪ عمل ڪريو. جيڪو ڪجهہ توهان ڪريو ٿا ان کي آءُ ڏسي رهيو آهيان. ١٠-١١

---

هڪ مؤمن جڏهن خدا جي ياد ۾ غرق ٿي ان جي تسبيح ڪندو آهي ته ان وقت سڄي ڪائنات سندس ساٿي بڻجي ويندي آهي. زمين ۽ آسمان جون سڀئي شيون الله جي تسبيح ۾ ان سان شريڪ ٿي ويندڙيون آهن، جيئن ته ڪائنات جي اها شرڪت خاموش زبان ۾ هوندي آهي، پر حضرت دائودﷺ کي الله تعاليٰ اها خصوصيت ڏني ته جڏهن هو تسبيح ڪندا هئا ته جبل ۽ پکي محسوس طور تي پاڻﷺ سان تسبيح ۾ شريڪ ٿي ويندا هئا.

حضرت دائودﷺ کي الله تعاليٰ لوهه جي صنعت سيکاري. هو لوهه کي پگهاري ان مان باريڪ ڪڙين واريون زرهون ٺاهيندا هئا. جن کي ماڻهو ڪپڙي وانگر پائي سگهن. ان وقت دنيا ۾ اهو فن موجود نه هو. الله تعاليٰ فرشتن ذريعي اهو فن پاڻﷺ کي سيکاريو.

مؤمن صنعت ۽ سائنس ۾ وڏي ترقي ڪري سگهي ٿو. پر ان جي لاءِ لازم آهي ته هو انساني ترقي کي صرف اصلاح جي دائري ۾ استعمال ڪري. هو جيڪو ڪجهه ڪري ان احساس سان ڪري ته آخرڪار ان کي جواب ڏيڻ جي لاءِ الله جي سامهون حاضر ٿيڻو آهي.

وَلِسُلَيۡمٰنَ الرِّيۡحَ غُدُوُّهَا شَهۡرٌ وَّ رَوَاحُهَا شَهۡرٌ ۚ وَ اَسَلۡنَا لَهٗ عَيۡنَ الۡقِطۡرِ ؕ وَ مِنَ الۡجِنِّ مَنۡ يَّعۡمَلُ بَيۡنَ يَدَيۡهِ بِاِذۡنِ رَبِّهٖ ؕ وَ مَنۡ يَّزِغۡ مِنۡهُمۡ عَنۡ اَمۡرِنَا نُذِقۡهُ مِنۡ عَذَابِ السَّعِيۡرِ ﴿۱۲﴾ يَعۡمَلُوۡنَ لَهٗ مَا يَشَآءُ مِنۡ مَّحَارِيۡبَ وَ تَمَاثِيۡلَ وَ جِفَانٍ كَالۡجَوَابِ وَ قُدُوۡرٍ رّٰسِيٰتٍ ؕ اِعۡمَلُوۡۤا اٰلَ دَاوٗدَ شُكۡرًا ؕ وَ قَلِيۡلٌ مِّنۡ عِبَادِيَ الشَّكُوۡرُ ﴿۱۳﴾

۽ سليمان لاءِ اسان هوا کي تابع ڪيو. ان جي صبح جي منزل هڪ مهيني جي هئي ۽ ان جي شام جي منزل به هڪ مهيني جي ۽ اسان ان لاءِ ٽامي جو چشمو وهايو ۽ جنن مان اهڙا هئا جيڪي ان جي رب جي حڪم سان هن جي سامهون ڪم ڪندا هئا ۽ انهن مان جيڪو به اسان جي حڪم کان ڦرندو تنهن کي باهه جو عذاب چکائينداسون. اُهي هن لاءِ بڻائيندا هئا جيڪو هو چاهيندو هو. عمارتون ۽ تصويرون ۽ حوضن جيڏا پيالا ۽ وڏيون ديڳون جي نه چُرنديون هيون. اي دائود جا اولاد شڪرگذاري سان عمل ڪريو ۽ منهنجن ٻانهن مان ٿورائي شڪرگذار آهن. ١٢-١٣

---

حضرت سليمانﷺ سمنڊ جي سفر ۽ ان جي تجارت کي وڏي ترقي ڏني هئي. انهن اعليٰ درجي جي سڙهن وسيلي هلندڙ ٻيڙا تيار ڪيا. الله تعاليٰ جو وڏيڪ فضل اهو ٿيو جو انهن جي سامونڊي ٻيڙن کي موافق هوا ملندي هئي، اهڙي طرح ٽامي کي پگهاري سامان ٺاهڻ جو فن به سندس زماني ۾ وڏي ترقي ڪري ويو. انهن غيرمعمولي قوتن مان حضرت سليمان مختلف قسم جا تعميري ۽ اصلاحي ڪم وٺندا هئا. انهن ۾ انهن شين جي تياري به شامل آهي جن جو ذڪر مٿين آيتن ۾ ڪيو ويو آهي.

انسان سراسر الله جي احسانن ۾ ٻڌل آهن، ان ڪري سندس اندر سيني کان وڏيڪ الله جي شڪر ۽ احسان مندي جو جذبو هئڻ گهرجي، پر اِها ئي اُها شيءِ آهي جيڪا انسان ۾ سيني کان گهٽ نظر ايندي آهي. ان جو سبب اهو آهي جو موجوده امتحان جي دنيا ۾ انسان کي جيڪو ڪجهه ملي ٿو، اهو اسباب جي پردي ۾ ملندو آهي. ان ڪري ماڻهو ان کي اسباب جو نتيجو سمجهي وٺي ٿو، پر اهوئي انسان جو اصل

امتحان آهي. انسان ڪان اهو گهربل آهي ته هو اسباب جي ذريعي ملندڙ شين کي الله طرفان ملندو ڏسي، بظاهر پنهنجي عقل ۽ محنت سان حاصل ٿيڻ واري شيءِ کي الله جو ڏنل عطيو سمجهي.

فَلَمَّا قَضَيْنَا عَلَيْهِ الْمَوْتَ مَا دَلَّهُمْ عَلٰى مَوْتِهٖٓ اِلَّا دَآبَّةُ الْاَرْضِ تَاْكُلُ مِنْسَاَتَهٗ ۚ فَلَمَّا خَرَّ تَبَيَّنَتِ الْجِنُّ اَنْ لَّوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ الْغَيْبَ مَا لَبِثُوْا فِي الْعَذَابِ الْمُهِيْنِ ﴿١٤﴾

پوءِ جڏهن اسان مٿس موت جو فيصلو نافذ ڪيوسون ته ڪنهن شيءِ انهن کي ان جي مرڻ جي خبر نه ڏني، سواءِ زمين جي ڪيڙي (اڏوهي) جنهن سندس لٺ تي ڪاڏي، پوءِ جنهن مهل هو ڪِريو، تڏهن جنن کي معلوم ٿيو. جيڪڏهن اهي غيب ڄاڻن ها ته خواري واري عذاب ۾ نه رهن ها. ١٤

---

حضرت سليمانؑ جي موت جو وقت آيو ته اهي پنهنجي لٺ سان ٽيڪ لڳائي بيٺل هئا ۽ جنن کان تعمير جو ڪم ڪرائي رهيا هئا. موت جي فرشتي پاڻؑ جو روح قبض ڪري ورتي، پر پاڻؑ جو بي جان جسم لٺ جي سهاري سان بدستور قائم رهيو. جن اهو سمجهي ڪم ڪندا رهيا ته پاڻؑ سندن ويجهو موجود آهن ۽ نگراني ڪري رهيا آهن. ان ڪان پوءِ لٺ ۾ اڏوهي لڳي وئي، هڪ عرصو گذرڻ ڪان پوءِ اڏوهي لٺ کي ڪوکلو (پورو) ڪري ڇڏيو ته پاڻؑ جو جسم زمين تي ڪري پيو. ان وقت جنن کي معلوم ٿيو ته پاڻؑ وفات پائي چڪا آهن.

اهو واقعو ان صورت ۾ ان ڪري پيش آيو، ته جيئن ماڻهن کي ان غلط عقيدي جي عملي ترديد ٿي وڃي ته جن غيب جو علم رکندا آهن.

لَقَدْ كَانَ لِسَبَاٍ فِيْ مَسْكَنِهِمْ اٰيَةٌ ۚ جَنَّتٰنِ عَنْ يَّمِيْنٍ وَّ شِمَالٍ ۬ كُلُوْا مِنْ رِّزْقِ رَبِّكُمْ وَ اشْكُرُوْا لَهٗ ۭ بَلْدَةٌ طَيِّبَةٌ وَّ رَبٌّ غَفُوْرٌ ﴿١٥﴾ فَاَعْرَضُوْا فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ سَيْلَ الْعَرِمِ وَ بَدَّلْنٰهُمْ بِجَنَّتَيْهِمْ جَنَّتَيْنِ ذَوَاتَيْ اُكُلٍ خَمْطٍ وَّ اَثْلٍ وَّ شَيْءٍ مِّنْ سِدْرٍ قَلِيْلٍ ﴿١٦﴾ ذٰلِكَ جَزَيْنٰهُمْ بِمَا كَفَرُوْا ۭ وَ هَلْ نُجٰزِيْٓ اِلَّا الْكَفُوْرَ ﴿١٧﴾

بيشڪ سبا جي لاءِ سندن وسندي ۾ هڪ نشاني هئي. ٻه باغ ساڄي ۽ کاٻي پاسي کان هئا. پنهنجي رب جو رزق کائو ۽ سندس شڪر ڪريو (اوهان لاءِ هي) شهر سٺو آهي ۽ بخشڻهار رب آهي. پوءِ انهن منهن موڙيو اسان مٿن بند (پيچي ڇڏيندڙ) ٻوڏ موڪلي ۽ سندن باغن کي ٻن اهڙن باغن سان بدلائي ڇڏيو جنهن ۾ ڪسارن ميون ۽ لئن وارا ۽ ڪجهه ٿورن ٻيرن وارا ڏناسون. هي اسان ڪين سندن ناشڪري جو بدلو ڏنو ۽ اهڙو ئي بدلو اسان ان کي ڏيندا آهيون جيڪو بي شڪر هجي. ١٥-١٧

---

سبا قديم زماني ۾ هڪ ترقي يافته قوم هئي. ان جون آباديون موجوده يمن ۾ پکڙيل هيون، سندن گادي جو شهر مارب هو. قبل مسيح زماني ۾ انهن زبردست ترقي ڪئي ۽ تقريباً هڪ هزار سالن تائين عروج تي هئا. هڪڙي پاسي اهي بر ۽ بحر ذريعي تجارتون ڪندا هئا، ٻئي پاسي انهن وڏا بند (ڊيم) ٺاهيا. مارب جي (قريب) ويجهو انهن جو هڪڙو وڏو ڊيم هو، جيڪو تقريباً چوڏهن ميٽر اوچو ۽

ڇهه سؤ ميٽر ڊگهو هو. ان جي ذريعي جبلن تان ايندڙ پاڻي کي روڪي نهرون ڪڍيون ويون ۽ انهن سان زمينون آباد ڪيون وينديون هيون. اهڙي طرح سڄي علائقي ۾ ايتري ساوڪ ٿي ساوڪ هئي جو ماڻهو جتي به هجي ته ان کي ڪاٻي ۽ ساڄي باغ ئي باغ ڏسڻ ۾ اچن.

اهي سڀئي ترقيون الله جي انتظام سبب ممڪن ٿيون. ان ڪري سبا جي ماڻهن کي الله جو شڪرگذار ٿيڻ گهرجي ها. پر اهي غفلت ۽ سرڪشي ۾ پئجي ويا. جهڙي طرح عام طورتي خوشحال قومن ۾ ٿيندو آهي. ان کان پوءِ سد مارب (Marib Dam) ۾ سوراخ ٿيڻ شروع ٿيا. اها ڄڻ ته ابتدائي تنبيهه هئي، پر اهي هوش ۾ نه آيا. انسائيڪلو پيڊيا برٽانيڪا جي بيان مطابق ستين صدي عيسوي ۾ هڪ زلزلي بند کي ٽوڙي ڇڏيو. ان جي نتيجي ۾ اهڙو سيلاب آيو جنهن سان پورو علائقو تباهه ٿي ويو ۽ پوءِ علائقي ۾ ڪنڊن وارن ٻوٽن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه رهيو.

وَ جَعَلْنَا بَيْنَهُمْ وَ بَيْنَ الْقُرَى الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا قُرًى ظَاهِرَةً وَّ قَدَّرْنَا فِيْهَا السَّيْرَ ؕ سِيْرُوْا فِيْهَا لَيَالِيَ وَ اَيَّامًا اٰمِنِيْنَ ﴿١٨﴾ فَقَالُوْا رَبَّنَا بٰعِدْ بَيْنَ اَسْفَارِنَا وَ ظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فَجَعَلْنٰهُمْ اَحَادِيْثَ وَ مَزَّقْنٰهُمْ كُلَّ مُمَزَّقٍ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ﴿١٩﴾

۽ اسان انهن جي وچ ۾ ۽ انهن آبادين جي وچ ۾ جن ۾ برڪت رکي هئي. اهڙا ڳوٺ قائم ڪيا هئا جيڪي نمايان نظر ايندا هئا ۽ اسان انهن جي وچ ۾ سفر جون منزلون مقرر ڪيون. انهن ۾ ڏينهن رات امن سان هلو. پوءِ انهن چيو ته اي اسان جا رب! اسان جي مسافرين ۾ ڏورانهي ڪر ۽ انهن پنهنجن جانين تي ظلم ڪيو. تنهن ڪري انهن کي (ٻين لاءِ) آکاڻيون ڪيوسون ۽ اسان کين بلڪل ڦاڙي ذرا پرزا ڪري ڇڏيو سون. بيشڪ ان ۾ نشاني آهي هر صبر ڪرڻ واري شڪر ڪرڻ واري جي لاءِ. ١٨-١٩

---

برڪت وارين بستين مان مراد شام جو سرسبز علائقو آهي. ان سرسبز علائقي ۾ يمن کان وٺي شام تائين خوبصورت لڳو لڳ آباديون هيون. انهن جي وچ ۾ سفر هڪ قسم جي خوشگوار تفريح بڻجي ويو هو. اهو ماحول پنهنجي حقيقت جي لحاظ کان الله جي ياد ڏيارڻ وارو هو، ڄڻ ته اهو هڪ خاموش اعلان هو ته بيخوف ٿي سفر ڪريو ۽ پنهنجي رب جو شڪر ادا ڪريو.

پر سبا جي غافل قوم ان خدائي اعلان کي نه سمجهي سگهي. انهن پنهنجي غلط رويي جي ڪري انهن خدائي نعمتن جو استحقاق وڃائي ڇڏيو، تنهن ڪري اهي اهڙي طرح مٽجي ويا جو صرف ماضي جي هڪ داستان بڻجي ويا. علائقي جي تباهي کانپوءِ سبا جا مختلف قبيلا پنهنجي وطن مان نڪري پري پري جي علائقن ۾ ڇڙوڇڙ ٿي ويا.

اهي تاريخي واقعا آهن، پر انهن کي سمجهڻ وارو حقيقت ۾ اهو آهي جيڪو انهن مان سبق وٺي ته جڏهن ان کي خوشحالي ملي ته هو تڪبر ۾ مبتلا نه ٿئي ۽ ان کي جيڪو ڪجهه ملي سو ان کي الله جو عطيو سمجهي الله جو شڪرگذار ٿئي.

وَ لَقَدْ صَدَّقَ عَلَيْهِمْ اِبْلِيْسُ ظَنَّهٗ فَاتَّبَعُوْهُ اِلَّا فَرِيْقًا مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٢٠﴾ وَ مَا كَانَ لَهٗ

عَلَيۡهِمۡ مِّنۡ سُلۡطٰنٍ اِلَّا لِنَعۡلَمَ مَنۡ يُّؤۡمِنُ بِالۡاٰخِرَةِ مِمَّنۡ هُوَ مِنۡهَا فِىۡ شَكٍّ ؕ وَ رَبُّكَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ حَفِيۡظٌ ﴿٢١﴾

۽ بيشڪ ابليس مٿن پنهنجو گمان سچ ڪري ڏيکاريو. پوءِ انهن سندس پيروي ڪئي. سواءِ ايمان وارن جي هڪ جماعت جي ۽ ابليس کي مٿن ڪو اختيار نه هو (ته جيئن) اسان معلوم ڪريون انهن ماڻهن کي جيڪي آخرت تي ايمان رکندا آهن، انهن ماڻهن مان جيڪي ان ۾ شڪ ۾ پيل آهن ۽ تنهنجو رب هر شيءِ تي نگهبان آهي. ٢٠-٢١

---

ابليس يا ان جا نمائنده هميشه انسان جي خلاف پنهنجا منصوبا ٺاهيندا آهن. اهڙن موقعن تي انسان جو ڪم اهو آهي جو هو ابليس جي منصوبي جو شڪار نه ٿئي ۽ اهڙي طرح ان کي ناڪام بڻائي ڇڏي، پر سبا جا ماڻهو پنهنجي ماڻهن وانگر دانائي جو ثبوت نه ڏئي سگهيا. اهي شيطاني ترغيبن جي اثر ۾ اچي تباهي جي رستي تي هلي پيا. صرف ٿورا حق پرست هئا، جيڪي ان امتحان ۾ ڪامياب ٿيا.

شيطان کي يا سندس نمائندن کي الله ڪنهن تي عملي اختيار نه ڏنو آهي. انهن کي صرف ورغلائڻ جو اختيار آهي. اهو ان ڪري آهي ته جيئن انسان جي آزمائش ڪري سگهجي. ان آزمائش ۾ پورو لهڻ وارو ماڻهو اهو آهي جيڪو شيطاني ترغيبن کان غيرمتاثر ٿي حق ۽ صداقت تي قائم رهي.

قُلِ ادۡعُوا الَّذِيۡنَ زَعَمۡتُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ ۚ لَا يَمۡلِكُوۡنَ مِثۡقَالَ ذَرَّةٍ فِى السَّمٰوٰتِ وَ لَا فِى الۡاَرۡضِ وَ مَا لَهُمۡ فِيۡهِمَا مِنۡ شِرۡكٍ وَّ مَا لَهٗ مِنۡهُمۡ مِّنۡ ظَهِيۡرٍ ﴿٢٢﴾ وَ لَا تَنۡفَعُ الشَّفَاعَةُ عِنۡدَهٗۤ اِلَّا لِمَنۡ اَذِنَ لَهٗ ؕ حَتّٰٓى اِذَا فُزِّعَ عَنۡ قُلُوۡبِهِمۡ قَالُوۡا مَا ذَا ۙ قَالَ رَبُّكُمۡ ؕ قَالُوا الۡحَقَّ ۚ وَ هُوَ الۡعَلِىُّ الۡكَبِيۡرُ ﴿٢٣﴾

چئو انهن کي سڏيو جن کي توهان الله کان سواءِ معبود گمان ڪندا آهيو، اهي نه آسمانن ۾ نه زمين ۾ ذري جيترو اختيار رکندا آهن ۽ نه انهن ٻنهي ۾ سندن ڪا ڀائيواري آهي ۽ نه وري انهن مان ڪو ان (الله) جو مددگار آهي ۽ ان وٽ ڪا سفارش ڪم نه ٿي اچي. پر ان جي لاءِ جنهن جي لاءِ هو اجازت ڏي ۽ جڏهن انهن جي دلين تان گهٻراهٽ دور ٿيندي، تڏهن اهي (ملائڪ) پڇندا ته توهان جي رب ڇا فرمايو. اهي چوندا ته حق ڳالهه جو حڪم فرمايو. اهو (سڀ کان) مٿانهون ۽ وڏو آهي. ٢٢-٢٣

---

جيتوڻيڪ هر زماني ۾ اڪثر ماڻهو آخرت کي مڃيندا رهيا آهن. پر هر زماني ۾ شيطان اهڙا هٿ ٺوڪيل عقيدا ماڻهن ۾ رائج ڪري ڇڏيا جن انهن کي آخرت جي پڪڙ کان بي خوف ڪري ڇڏيو، انهن مان هڪ فرضي عقيدو اهو به آهي ته ڪجهه هستين جو الله وٽ ايترو وڏو مقام آهي جو هو پنهنجي سفارش سان جنهن کي چاهين بخشائي سگهن ٿا.

پر اهڙي قسم جو هر عقيدو الله جي خدائي جو گهٽ اندازو لڳائڻ آهي. اها ڪيتري نه عجيب ڳالهه آهي ته جن هستين جو پنهنجو اهو حال آهي جو الله جي عظمت جي احساس انهن کي خوف ۾ مبتلا ڪري رکيو آهي ۽ سندن باري ۾ سندن پرستار اهو سمجهي رهيا آهن جو اهي الله وٽ انهن جي نجات لاءِ ڪافي ٿي ويندا.

قُلْ مَنْ يَّرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ قُلِ اللّٰهُ ۙ وَ اِنَّاۤ اَوْ اِيَّاكُمْ لَعَلٰى هُدًى اَوْ فِيْ
ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿۲۴﴾ قُلْ لَّا تُسْـَٔلُوْنَ عَمَّاۤ اَجْرَمْنَا وَ لَا نُسْـَٔلُ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۲۵﴾ قُلْ يَجْمَعُ
بَيْنَنَا رَبُّنَا ثُمَّ يَفْتَحُ بَيْنَنَا بِالْحَقِّ ؕ وَ هُوَ الْفَتَّاحُ الْعَلِيْمُ ﴿۲۶﴾ قُلْ اَرُوْنِيَ الَّذِيْنَ
اَلْحَقْتُمْ بِهٖ شُرَكَآءَ كَلَّا ؕ بَلْ هُوَ اللّٰهُ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۲۷﴾

چؤ ته ڪير توهان کي آسمانن ۽ زمين مان روزي ڏيندو آهي، چؤ ته الله ۽ اسان مان ۽ توهان مان ڪو به هڪڙو ئي هدايت تي آهي يا پڌري گمراهي ۾. چؤ ته جيڪو ڏوهه اسان ڪيو، ان جي پڇا توهان کان نه ٿيندي ۽ جيڪو ڪجهه اوهان ڪري رهيا آهيو، ان بابت اسان کان پڇيو نه ويندو. چؤ ته اسان جو رب اسان کي گڏ ڪندو. پوءِ اسان جي وچ ۾ حق جي مطابق فيصلو ڪندو ۽ اهو فيصلو ڪندڙ، علم وارو آهي. چؤ ته جن کي اوهان ساڻس شريڪ بڻاءِ ملايو آهي سي مون کي ڏيکاريو. هرگز ايئن نه آهي. بلڪ اهو الله زبردست حڪمت وارو آهي. ٢٤-٢٧

---

ڪائنات ناقابل قياس حدتائين عظيم آهي. ان ئي سان گڏ ان جي اندر ڪمال حدتائين حڪمت ۽ معنويت موجود آهي، اهڙي ڪائنات الله عزيز ۽ حڪيم ئي جو ڪارنامو ٿي سگهي ٿي. ڪوبه ماڻهو سنجيدگي سان اهو گمان نه ٿو ڪري سگهي ته الله کان سواءِ ٻيون هستيون ڪائنات جون خالق ۽ مالڪ آهن، جن کي جديد يا قديم انسان الله کان سواءِ فرض ڪري ورتو آهي. پوءِ الله کان سواءِ ڪير ٿي سگهي ٿو جنهن کي هن ڪائنات ۾ وڏائي جو مقام حاصل هجي.

حقيقت اها آهي ته ڪائنات جو مطالعو سڀني مشرڪاڻن نظرين کي باطل ثابت ڪري ٿو. هن ڪائنات ۾ اُهي سڀئي عقيده بي جوڙ ثابت ٿيندا آهن، جن ۾ هڪ الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي لاءِ ڪهڙي به قسم جي وڏائي کي تسليم ڪيو ويو هجي. اهڙي حالت ۾ اهوئي نظريو صحيح ٿي سگهي ٿو، جيڪو هڪ الله جي بنياد تي هجي. جنهن نظريي ۾ هڪ الله کان سواءِ ڪنهن ٻي هستي جي ڪارفرمائي مڃي وڃي ته اها پنهنجي ترديد پاڻ آهي.

وَ مَاۤ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا كَآفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيْرًا وَّ نَذِيْرًا وَّ لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۲۸﴾ وَ
يَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۲۹﴾ قُلْ لَّكُمْ مِّيْعَادُ يَوْمٍ لَّا تَسْتَاْخِرُوْنَ
عَنْهُ سَاعَةً وَّ لَا تَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿۳۰﴾ ع

۽ اسان توکي سڀني انسانن لاءِ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ بڻائي موڪليو آهي. پر اڪثر ماڻهو نه ٿا ڄاڻن ۽ اهي چوندا آهن ته اهو واعدو ڪڏهن پورو ٿيندو جيڪڏهن تون سچو آهين. چؤ ته توهان لاءِ هڪ خاص ڏينهن جو واعدو آهي. جنهن کان نه هڪ گهڙي پوئتي هٽي سگهندو ۽ نه اڳتي ويندؤ. ٢٨-٣٠

---

هر نبي براهِ راست صرف پنهنجي قوم تي دعوت جو ڪم ڪيو ۽ اهوئي عملي طور ممڪن هو. اهڙي طرح پيغمبر اسلام ﷺ به براهِ راست پنهنجي ئي قوم لاءِ منذر ۽ مبشر بڻيا (الانعام ٩٢). پر ڇاڪاڻ ته پاڻ ﷺ تي نبوت ختم ٿي وئي، انڪري هاڻي سڀني قومن لاءِ حڪم مطابق پاڻ ﷺ ئي منذر

۾ مبشر آهن. پنهنجي زماني ۾ ماڻهن تي جهڙي طرح پاڻ ﷺ ڏيڇارڻ ۽ خوشخبري ڏيڻ جو ڪم ڪيو، اهڙي طرح بعد جي زماني ۾ ٻين ماڻهن تي پاڻ ﷺ جي امت کي نيابت جي ڪري ڏيڇارڻ ۽ خوشخبري ڏيڻ جو ڪم ڪرڻو آهي. اهو سڄو ڪم پاڻ ﷺ جي نبوت جي تسلسل ۾ شمار ٿيندو. پاڻ ﷺ جي زندگي ۾ ٿيڻ وارو دعوتي ڪم براهه راست طور تي پاڻ ﷺ جي نبوت جي دائري ۾ داخل آهي ۽ پاڻ ﷺ جي دنياوي زندگي کان پوءِ ڪيو وڃڻ وارو دعوتي ڪم بلاواسط طور تي.

پيغمبر جو ڪم هميشه صرف پهچائڻ هوندو آهي. ان کان پوءِ قومن جي عملي انجام جو فيصلو ڪرڻ الله جو ڪم آهي، موجوده دنيا ۾ به آئنده اچڻ واري دنيا ۾ به.

وَ قَالَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لَنۡ نُّؤۡمِنَ بِهٰذَا الۡقُرۡاٰنِ وَ لَا بِالَّذِيۡ بَيۡنَ يَدَيۡهِ ؕ وَ لَوۡ تَرٰۤى اِذِ
الظّٰلِمُوۡنَ مَوۡقُوۡفُوۡنَ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ ۖۚ يَرۡجِعُ بَعۡضُهُمۡ اِلٰى بَعۡضِ ِۨالۡقَوۡلَ ۚ يَقُوۡلُ الَّذِيۡنَ
اسۡتُضۡعِفُوۡا لِلَّذِيۡنَ اسۡتَكۡبَرُوۡا لَوۡ لَاۤ اَنۡتُمۡ لَكُنَّا مُؤۡمِنِيۡنَ ﴿٣١﴾ قَالَ الَّذِيۡنَ اسۡتَكۡبَرُوۡا
لِلَّذِيۡنَ اسۡتُضۡعِفُوۡۤا اَنَحۡنُ صَدَدۡنٰكُمۡ عَنِ الۡهُدٰى بَعۡدَ اِذۡ جَآءَكُمۡ بَلۡ كُنۡتُمۡ
مُّجۡرِمِيۡنَ ﴿٣٢﴾ وَ قَالَ الَّذِيۡنَ اسۡتُضۡعِفُوۡا لِلَّذِيۡنَ اسۡتَكۡبَرُوۡا بَلۡ مَكۡرُ الَّيۡلِ وَ النَّهَارِ اِذۡ
تَاۡمُرُوۡنَنَاۤ اَنۡ نَّكۡفُرَ بِاللّٰهِ وَ نَجۡعَلَ لَهٗۤ اَنۡدَادًا ؕ وَ اَسَرُّوا النَّدَامَةَ لَمَّا رَاَوُا الۡعَذَابَ ؕ وَ
جَعَلۡنَا الۡاَغۡلٰلَ فِىۡۤ اَعۡنَاقِ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا ؕ هَلۡ يُجۡزَوۡنَ اِلَّا مَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿٣٣﴾

۽ جن ماڻهن انڪار ڪيو سي چوندا آهن ته اسان هرگز هن قرآن کي نه مڃينداسون ۽ نه ان کي جيڪو ڪائنس اڳ آهي ۽ جيڪڏهن تون ان وقت ڏسين جڏهن ته اهي ظالم پنهنجي رب جي سامهون بيهاريا ويندا. انهن مان هڪڙا ٻين ڏي ڳالهه ورائيندا، جيڪي ماڻهو ڪمزور سمجها ويندا هئا. اهي هٺيلن کي چوندا جيڪڏهن اوهين نه هجو ها ته اسين ايمان وارا هجون ها. هٺيلا ڪمزور ماڻهن کي جواب ڏيندا ته ڇا اسان توهان کي هدايت کان روڪيو هو. جڏهن ته اُها توهان وٽ آئي هئي، بلڪ توهان خود پاڻ مجرم هئا ۽ ڪمزور ماڻهو هٺيلن کي چوندا ته نه بلڪ توهان جي رات ڏينهن جي تدبيرن جي ڪري جڏهن توهان اسان کي حڪم ڪندا هئا ته الله سان ڪفر ڪريو ۽ ساڻس شريڪ ٺهرايو ۽ جڏهن عذاب کي ڏسندا ته پنهنجي پشيماني کي لڪائيندا ۽ اسان منڪرن جي ڳچين ۾ ڳٽ وجهنداسون. اهي جيڪي ڪندا هئا تنهن کان سواءِ ٻي سزا نه ڏني ويندن. ٣١-٣٣

---

حقيقت جو انڪار سيني کان وڏو جرم آهي. دنيا ۾ ان جرم جو انجام سامهون نه ٿو اچي، ان ڪري دنيا ۾ ماڻهو بي خوف ٿي حقيقت جو انڪار ڪري ڇڏيندو آهي، پر آخرت ۾ جڏهن حق جي انڪار جو برو انجام ماڻهن تي پوندو ته ان وقت ماڻهن جو عجيب حال ٿيندو.

عوام جن وڏن تي دنيا ۾ فخر ڪندي هئي، اتي انهن وڏن کي پنهنجي گمراهي جو ذميدار ٺهرائي انهن تي لعنت ڪندي. وڏا انهن کي جواب ڏيندا ته توهان خود کي شرمندگي کان بچائڻ لاءِ اسان کي مجرم نه چئو. اهي اسان نه بلڪ توهان جون پنهنجون خواهشون هيون جن توهان کي گمراهه ڪيو. اسان جو ساٿ توهان رڳو ان ڪري ڏنو جو اسان جون ڳالهيون توهان جي پنهنجن خواهشن مطابق هيون. توهان

ڪي اهڙو دين گهربل هو جنهن ۾ پنهنجي پاڻ کي بدلڻ جي بغير ديندار بڻجڻ جو ڪريڊٽ حاصل ٿي وڃي ۽ اهڙو دين اسان توهان کي پهچايو. توهان اسان جو مڪر خود پنهنجي خوشي سان اپنايو. اسان وٽ ڪا طاقت نه هئي جو ان کي زوري توهان کان ميرايون. توهان اسان جو ڦندو خود پنهنجي ڳچي ۾ وڌو. اسان وٽ ڪا طاقت نه هئي جو اسان ان کي توهان جي ڪنڌ ۾ وجهون ها.

وَ مَآ اَرْسَلْنَا فِيْ قَرْيَةٍ مِّنْ نَّذِيْرٍ اِلَّا قَالَ مُتْرَفُوْهَآ ۙ اِنَّا بِمَآ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ ﴿٣٤﴾ وَ
قَالُوْا نَحْنُ اَكْثَرُ اَمْوَالًا وَّ اَوْلَادًا ۙ وَّ مَا نَحْنُ بِمُعَذَّبِيْنَ ﴿٣٥﴾ قُلْ اِنَّ رَبِّيْ يَبْسُطُ الرِّزْقَ
ع ۳ ١٠ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ يَقْدِرُ وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٦﴾ۧ وَ مَآ اَمْوَالُكُمْ وَ لَآ اَوْلَادُكُمْ
بِالَّتِيْ تُقَرِّبُكُمْ عِنْدَنَا زُلْفٰۤى اِلَّا مَنْ اٰمَنَ وَ عَمِلَ صَالِحًا ۫ فَاُولٰٓئِكَ لَهُمْ جَزَآءُ
الضِّعْفِ بِمَا عَمِلُوْا وَ هُمْ فِي الْغُرُفٰتِ اٰمِنُوْنَ ﴿٣٧﴾ وَ الَّذِيْنَ يَسْعَوْنَ فِيْۤ اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيْنَ
اُولٰٓئِكَ فِي الْعَذَابِ مُحْضَرُوْنَ ﴿٣٨﴾ قُلْ اِنَّ رَبِّيْ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ وَ
يَقْدِرُ لَهٗ ۭ وَ مَآ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَهُوَ يُخْلِفُهٗ ۚ وَ هُوَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿٣٩﴾

۽ اسان جنهن وسندي ۾ به ڪو ڊيڄارڻ وارو موڪليو ته ان جي آسودن (ماڻهن) اهوئي چيو ته اسان ان جا منڪر آهيون، جيڪو ڏئي ڪري اوهين موڪليا ويا آهيو ۽ انهن چيو ته اسان مال ۽ اولاد ۾ وڌيڪ آهيون ۽ اسان ڪڏهن به عذاب ڀوڳڻ وارا نه آهيون. چؤ ته منهنجو رب جنهن کي چاهي ٿو ڪشادي روزي ڏي ٿو ۽ جنهن لاءِ چاهي ٿو تنگ ڪندو آهي، پر اڪثر ماڻهو نه ٿا ڄاڻن ۽ توهان جو مال ۽ توهان جو اولاد اهڙي شيءِ نه آهن جو توهان کي اسان وٽ مرتبي ۾ ويجهو ڪن، پر (ويجها اهي آهن) جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا. تن جيڪي ڪمايو تنهن سببان انهن لاءِ ٻيڻو بدلو آهي ۽ اُهي ماڙين ۾ امن سان رهندا ۽ جيڪي اسان جي آيتن ۾ مقابلو ڪندڙ ٿي ڪوشش ڪندا آهن، اهي عذاب ۾ داخل ڪيا ويندا. چؤ ته منهنجو رب پنهنجن ٻانهن مان جنهن لاءِ چاهيندو آهي روزي ڪشادي ڪندو آهي ۽ جنهن لاءِ چاهيندو آهي تنگ ڪندو آهي ۽ جيڪا شيءِ به توهان خرچ ڪندو ته هو ان جو بدلو ڏيندو ۽ اهو چڱو روزي ڏيندڙ آهي. ٣٤-٣٩

---

جن ماڻهن وٽ قوت ۽ مال اچي وڃي، انهن کي موجوده دنيا ۾ وڏائي جو مقام حاصل ٿي ويندو آهي، اها شيءِ انهن ۾ ڪوڙو اعتماد پيدا ڪندي آهي. اهڙن ماڻهن کي جڏهن آخرت کان ڊيڄاريو وڃي ته اُهي ان کي اهميت نه ٿا ڏين. انهن کي يقين نه ٿو اچي ته جڏهن دنيا ۾ الله انهن کي عزت ڏني آهي ته آخرت ۾ هو انهن کي بيعزت ڪندو.

اهو ئي ڪوڙو اعتماد هر زماني جي وڏن لاءِ حق جي دعوت کي نه مڃڻ جو سڀني کان وڏو سبب رهيو آهي ۽ وقت جا وڏا ماڻهو هڪ شيءِ کي حقير چئي ڇڏين ته عوام به ان کي حقير سمجهي وٺندو آهي. اهڙي طرح وقت جا وڏا ۽ عوام ٻئي حق کي قبول ڪرڻ کان محروم رهجي ويندا آهن.

دنيا جو مال ۽ ملڪيت امتحان آهي نه وري انعام. دنيا ۾ مال ملڪيت جي گهڻائي نه ڪنهن ماڻهو جي مقرب هئڻ جي نشاني آهي ۽ نه وري مال جي تنگي ان جي غيرمقرب هئڻ جي علامت. الله

وٽ قرب جو مقام ان ماڻھو لاءِ آھي جيڪو ان ڳالھ جو ثبوت ڏي تہ جيڪو ڪجھ ان کي ڏنو ويو آھي، ان ۾ ھو الله جي ياد ۾ زندگي گذاري ٿو ۽ الله جي مقرر ڪيل حدن جو پاڻ کي پابند رکي ٿو. اھي ئي ماڻھو آھن جيڪي آخرت ۾ الله جي ابدي انعامن جا مستحق قرار ڏنا ويندا.

وَ يَوْمَ يَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ثُمَّ يَقُوْلُ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اَهٰٓؤُلَآءِ اِيَّاكُمْ كَانُوْا يَعْبُدُوْنَ ﴿٤٠﴾ قَالُوْا سُبْحٰنَكَ اَنْتَ وَلِيُّنَا مِنْ دُوْنِهِمْ ۚ بَلْ كَانُوْا يَعْبُدُوْنَ الْجِنَّ ۚ اَكْثَرُهُمْ بِهِمْ مُّؤْمِنُوْنَ ﴿٤١﴾ فَالْيَوْمَ لَا يَمْلِكُ بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ نَّفْعًا وَّ لَا ضَرًّا ؕ وَ نَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ذُوْقُوْا عَذَابَ النَّارِ الَّتِيْ كُنْتُمْ بِهَا تُكَذِّبُوْنَ ﴿٤٢﴾

۽ جنھن ڏينھن ھو انھن سڀني کي گڏ ڪندو، پوءِ ھو ملائڪن کان پڇندو ڇا اھي ماڻھو توھان جي عبادت ڪندا ھئا. اھي چوندا تنھنجي ذات پاڪ آھي. اسان جو لاڳاپو تو سان آھي نہ وري انھن ماڻھن سان. بلڪ اھي جنن جي عبادت ڪندا ھئا. انھن مان گھڻا ڪين مڃيندڙ ھئا. پوءِ اڄ توھان مان ڪو بہ ھڪ ٻئي کي نہ فائدو پھچائي سگھي ٿو ۽ نہ نقصان ۽ اسان ظالمن کي چونداسون تہ باھ جو عذاب چکو جنھن کي توھان ڪوڙو پائيندا ھئا. ٤٠-٤٢

---

ملائڪ انسان کي نظر نٿا اچن. پيغمبرن انسان کي ملائڪن جي وجود جي خبر ڏني. اھا خبر انھن کي ان ڪري ڏني وئي جو اُھي الله جي عظمت و جلال کي محسوس ڪن ۽ پوري طرح ان جي عبادت ۾ لڳي وڃن. پر شيطان ماڻھن کي سيکاريو تہ براھ راست الله جو قرب حاصل ڪرڻ مشڪل آھي، ان ڪري انھن کي گھرجي تہ ھو ملائڪن جي عبادت ڪن ۽ انھن جي ذريعي الله جو قرب حاصل ڪن. تنھن ڪري سڄي دنيا ۾ ملائڪن جا بت ٺاھي انھن جي عبادت شروع ڪئي وئي، ديوي ۽ ديوتائون جو عقيدو بہ اصل ۾ ملائڪن ئي جي بگڙيل شڪل آھي، جيڪو ملائڪ مينھن تي مقرر ھو، ان کي مينھن جو ديوتا سمجھيو ويو. جيڪو ملائڪ ھوا تي مقرر ھو، ان کي ھوا جو ديوتا سمجھيو ويو وغيره.

ملائڪ آخرت ۾ اھڙن عبادت گذارن کان بيزاري جو اظھار ڪندا. آخرت ۾ انھن کي نہ خدا جي مدد حاصل ٿيندي ۽ نہ وري ملائڪن جي. اُھي ھميشہ جي لاءِ بي يارو مددگار ٿي رھجي ويندا.

وَ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ قَالُوْا مَا هٰذَآ اِلَّا رَجُلٌ يُّرِيْدُ اَنْ يَّصُدَّكُمْ عَمَّا كَانَ يَعْبُدُ اٰبَآؤُكُمْ ۚ وَ قَالُوْا مَا هٰذَآ اِلَّآ اِفْكٌ مُّفْتَرًى ؕ وَ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ ۙ اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٤٣﴾ وَ مَآ اٰتَيْنٰهُمْ مِّنْ كُتُبٍ يَّدْرُسُوْنَهَا وَ مَآ اَرْسَلْنَآ اِلَيْهِمْ قَبْلَكَ مِنْ نَّذِيْرٍ ﴿٤٤﴾ وَ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۙ وَ مَا بَلَغُوْا مِعْشَارَ مَآ اٰتَيْنٰهُمْ فَكَذَّبُوْا رُسُلِيْ ۫ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ﴿٤٥﴾ ع ٩ ١١

۽ جڏھن انھن کي اسان جون پڌريون آيتون پڙھيون وينديون آھن تہ اُھي چوندا آھن تہ اھو تہ بس ھڪ شخص آھي جيڪو چاھي ٿو تہ توھان کي انھن کان روڪي جن جي توھان جا ابا ڏاڏا عبادت ڪندا ھئا ۽ انھن چيو اھو (قرآن) رڳو ھڪ گھڙيل ڪوڙ آھي ۽ انھن منڪرن جي سامھون جڏھن حق آيو تہ انھن چيو تہ اھو تہ رڳو پڌرو

جادو آهي ۽ اسان انهن (مشرڪن) کي نہ ڪي ڪتاب ڏنا سون جن کي اهي پڙهن ۽ نہ اسان تو کان اڳ ۾ انهن وٽ ڪو ڊيڄارڻ وارو موڪليو ۽ انهن کان اڳ وارن بہ ڪوڙو ڄاتو هو. حالانڪ جيڪو انهن کي ڏنو سون تنهن جي ڏهين پتي کي بہ اهي مشرڪ نہ پهتا آهن. پوءِ انهن منهنجي رسولن کي ڪوڙو ڄاتو تہ ڪهڙو هو انهن تي منهنجو عذاب. ٤٣-٤٥

---

قرآن پنهنجي مخاطبن جي سامهون پڌرا دليل ڏئي رهيو هو. مخاطب دليل سان ان کي رد نہ پئي ڪري سگهيا، ان جي باوجود عوام کي قرآن کان روڪڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. سندن ڪاميابي جو واحد راز اهو هو تہ انهن ماڻهن کي اهو چئي شڪ ۾ وجهي ڇڏيو تہ اهو اسان جي ابن ڏاڏن ۽ بزرگن جي طريقي جي خلاف آهي. قرآن ۾ جيڪو معجزاتو ڪلام هو، ان جو انڪار ناممڪن هو. ان جي باري ۾ ماڻهن کي اهو چئي مطمئن ڪيو ويو تہ اهو صرف جادوئي بيان جو ڪرشمو آهي ۽ الله جي وحي هئڻ سان ان جو ڪو تعلق نہ آهي، اهو رڳو قلم جو زور آهي نہ وري علم جي حقيقت جو زور. تاريخ جو اهو تجربو نهايت عجيب آهي جو هر دور جي ماڻهن لاءِ دليل جي مقابلي ۾ تعصب وڌيڪ طاقتور ثابت ٿيو آهي.

قرآن جي مخاطبن وٽ قرآن جو انڪار ڪرڻ لاءِ يا تہ عقلي دليل هجن ها جن جي ذريعي اهي ان کي رد ڪن ها يا انهن وٽ ڪو ٻيو آسماني ڪتاب هجي ها جنهن ذريعي قرآن جي ترديد ڪن ها. قرآن جي مخاطبن وٽ انهن ٻنهي شين مان ڪا شيءِ موجود نہ هئي. وڌيڪ اهو "تہ دنياوي ترقي ۾ بہ اهي ٻين قومن کان گهٽتو پوئتي هئا، جن ماڻهن جو اهو حال هجي ۽ هو جيڪڏهن حق جي دعوت جو انڪار ڪن تہ ان جو سبب ضد آهي نہ وري عقل جي ڳالھ.

قُلْ اِنَّمَآ اَعِظُكُمْ بِوَاحِدَةٍ ۚ اَنْ تَقُوْمُوْا لِلّٰهِ مَثْنٰى وَ فُرَادٰى ثُمَّ تَتَفَكَّرُوْا ۫ مَا بِصَاحِبِكُمْ مِّنْ جِنَّةٍ ؕ اِنْ هُوَ اِلَّا نَذِيْرٌ لَّكُمْ بَيْنَ يَدَيْ عَذَابٍ شَدِيْدٍ ﴿٤٦﴾ قُلْ مَا سَاَلْتُكُمْ مِّنْ اَجْرٍ فَهُوَ لَكُمْ ؕ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ ۚ وَ هُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ﴿٤٧﴾

چئو آئون توهان کي هڪ ڳالھ جي نصيحت ڪريان ٿو تہ ٻہ ٻہ ۽ هڪ هڪ ٿي الله لاءِ ڪَڙا ٿيو. پوءِ سوچو تہ توهان جي ساٿي کي جنون نہ آهي. اهو تہ صرف هڪ سخت عذاب کان اڳ توهان کي ڊيڄارڻ وارو آهي. چئو تہ مون توهان کان جيڪو اجورو گهريو هجي سو توهان کي ئي هجي، منهنجو اجورو الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن تي نہ آهي ۽ اهو هر شيءِ تي شاهد آهي. ٤٦-٤٧

---

پيغمبر جي مخاطبن پيغمبر جي دعوت جو انڪار ڪري ڇڏيو. پر ان جي پويان ضد ۽ تعصب کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ هو. حقيقت اها آهي تہ جيڪڏهن اهي ضد ۽ تعصب کان خالي ٿي سوچين ها، چاهي ڌار ڌار سوچين ها يا ڪجھ ماڻهو ملي ڪري اجتماعي طور تي غور ڪن ها تہ هو سمجهي وڃن ها تہ سندن پيغمبر ڪو ديوانو ماڻهو نہ آهي. پاڻ ﷺ جي پوئين زندگي پاڻ ﷺ جي سنجيدگي جي شاهدي ڏئي رهي هئي. پاڻ ﷺ جو دردمنداڻو انداز ٻڌائي ها تہ پاڻ ﷺ جيڪو ڪجھ چئي رهيا آهن، اهو ئي پاڻ ﷺ جي دل جو آواز آهي، پاڻ ﷺ جو حڪيماڻو طرز ڪلام ان جي صحيح هجڻ جي شهادت ڏي ها. پاڻ ﷺ جو ڪنهن معاوضي جو طالب نہ هئڻ ظاهر ڪري ها تہ پاڻ ﷺ هن ڪم کي صرف الله جي لاءِ

شروع ڪيو آهي نه وري ذاتي مفاد لاءِ. غيرجانب دارانه غور ۽ فڪر ۾ اهي ڄاڻي وٺن ها ته پاڻ ﷺ جي بيقراري جنون جي بيقراري نه آهي، بلڪ ان جو سبب اهو آهي ته پاڻ ﷺ جنهن خطري کان ڏيڄارڻ لاءِ اٿيا آهن، ان کي پنهنجن اکين سان ايندي ڏسي رهيا آهن. پر اهي منڪر حق جي دعوت جي باري ۾ سنجيده نه هئا. ان ڪري اهي پڌرا حق انهن کي نظر نه اچي سگهيا.

قُلۡ اِنَّ رَبِّیۡ یَقۡذِفُ بِالۡحَقِّ ۚ عَلَّامُ الۡغُیُوۡبِ ﴿۴۸﴾ قُلۡ جَآءَ الۡحَقُّ وَ مَا یُبۡدِئُ الۡبَاطِلُ وَ مَا یُعِیۡدُ ﴿۴۹﴾ قُلۡ اِنۡ ضَلَلۡتُ فَاِنَّمَاۤ اَضِلُّ عَلٰی نَفۡسِیۡ ۚ وَ اِنِ اهۡتَدَیۡتُ فَبِمَا یُوۡحِیۡۤ اِلَیَّ رَبِّیۡ ؕ اِنَّهٗ سَمِیۡعٌ قَرِیۡبٌ ﴿۵۰﴾

چؤ بيشڪ منهنجو رب حق کي (منهنجي دل ۾) وجهندو آهي. اهو ڳجهن جو ڄاڻندڙ آهي. چؤ ته حق آيو ۽ باطل نڪي نئين سر پيدا ڪري ٿو ۽ نڪي پيهر پيدا ڪندو. چؤ جيڪڏهن آئون گمراه ٿيس ته منهنجي گمراهي جو وبال مون تي آهي ۽ جيڪڏهن آءٌ هدايت تي آهيان ته اها هن وحي جي ڪري آهي جيڪو منهنجو رب مون ڏانهن موڪلي رهيو آهي. بيشڪ اهو ٻڌندڙ ويجهو آهي. ٤٨-٥٠

---

دنيا جي تخليق حق تي ٿي آهي. هتي سڄو زور حق ڏانهن آهي. هتي سڀئي دليل حق جي تائيد ڪندا آهن. حقيقت جي لحاظ کان هتي باطل کي ڪو زور ۽ ڪو دليل حاصل نه آهي. اهڙي حالت ۾ ائين ٿيڻ گهرجي ته حق هتي هميشه لاءِ سربلند رهي ۽ باطل هتي سراسر بي وزن ٿي رهجي وڃي، پر عملاً ائين نه ٿيندو آهي. هن دنيا ۾ حق ايترو طاقتور نه آهي جو هو خود پنهنجي زور تي باطل جو خاتمو ڪري ڇڏي ۽ باطل ايترو بيوس نه آهي جو ان جي بنياد تي ڪنهن ماڻهو لاءِ عزت ۽ سربلندي حاصل ڪرڻ ممڪن نه هجي.

ان جو سبب اهو آهي ته هي دنيا امتحان جي جاءِ آهي. هتي آزمائش جو قانون جاري آهي. ان ڪري هتي باطل کي به ترقي جو موقعو ملي ٿو وڃي، پر اها صورتحال عارضي طور صرف امتحان جي وقت تائين آهي. قيامت ايندي ئي اها ناحق واري صورتحال بلڪل ختم ٿي ويندي، ان وقت سڄو نظرياتي ۽ عملي زور صرف حق ڏانهن هوندو ۽ باطل سراسر بي قيمت ٿي رهجي ويندو.

اهو واقعو پنهنجي ڪامل صورت ۾ قيامت ۾ ظاهر ٿيندو. پر جڏهن الله چاهي ٿو ته ان کي جزئي طور تي موجوده دنيا ۾ به ظاهر ڪري ڇڏيندو آهي، ته جيئن ماڻهن لاءِ سبق هجي ته اول دور ۾ اسلام جو غلبو اهڙي ئي قسم جو هڪ جزوئي اظهار هو، تنهن ڪري جڏهن مَڪو فتح ٿيو ۽ توحيد کي شرڪ تي فتح حاصل ٿي ته رسول الله ﷺ جي زبان تي اها آيت هئي. (جاءَ الحق وزهق الباطل ان الباطل ڪان زهوقا).

وَ لَوۡ تَرٰۤی اِذۡ فَزِعُوۡا فَلَا فَوۡتَ وَ اُخِذُوۡا مِنۡ مَّکَانٍ قَرِیۡبٍ ﴿۵۱﴾ وَّ قَالُوۡۤا اٰمَنَّا بِهٖ ۚ وَ اَنّٰی لَهُمُ التَّنَاوُشُ مِنۡ مَّکَانٍۭ بَعِیۡدٍ ﴿۵۲﴾ وَّ قَدۡ کَفَرُوۡا بِهٖ مِنۡ قَبۡلُ ۚ وَ یَقۡذِفُوۡنَ بِالۡغَیۡبِ مِنۡ مَّکَانٍۭ بَعِیۡدٍ ﴿۵۳﴾ وَ حِیۡلَ بَیۡنَهُمۡ وَ بَیۡنَ مَا یَشۡتَهُوۡنَ کَمَا فُعِلَ بِاَشۡیَاعِهِمۡ مِّنۡ قَبۡلُ ؕ اِنَّهُمۡ کَانُوۡا فِیۡ شَکٍّ مُّرِیۡبٍ ﴿۵۴﴾

۽ جيڪڏهن تون ڏسين جڏهن اهي گهبرائجي ويندا. پوءِ اهي ڀڄي نه سگهندا ۽ ويجهي هنڌان پڪڙيا ۽ چوندا ته اسان (قرآن) تي ايمان آندو سون، پر ايتري پرانهين هنڌ کان کين (ايمان) هٿ ڪيئن ايندو. حالانڪ اڳي انهن اُن (قرآن) جو انڪار ڪيو هو ۽ پرانهين هنڌ کان اڻ ڏٺو (گمان جا تير) اڇلائيندا رهيا ۽ انهن جي ۽ سندن خواهشن جي وچ ۾ هڪ پردو حائل ڪيو ويندو، جيئن ڪانئن اڳ انهن جهڙن سان ڪيو ويو. بيشڪ اهي وڏي الجهائيندڙ شڪ ۾ پيل هئا. ٥١-٥٤

---

موجوده دنيا ۾ ماڻهو حق جو انڪار ڪندو آهي ته فوراً ان جو انجام سامهون نه ٿو اچي. اها صورتحال ان کي حق جي انڪار ڪرڻ ۾ بي حس بڻائي ٿي ڇڏي. اهو حق جي دعوت کي توجه جي قابل نه ٿو سمجهي، هو حقير لفظن ۾ ان جو ذڪر ڪندو آهي. هو بي پرواهي سان ان کي رد ڪري ٿو ڇڏي. هو ان جي باري ۾ اهڙي غيرذميداراڻي انداز ۾ تبصرو ڪندو آهي ڄڻ ته حق ڪنهن لحاظ جو مستحق ئي نه آهي.

پر جڏهن دنيا جو موجوده نظام ختم ٿي ويندو ته اچانڪ سڄو معاملو بلڪل بدلجي ويندو. پوءِ ماڻهو کي نظر ايندو ته اها ئي شيءِ سڀني کان وڏيڪ اهم هئي، جنهن کي هن بلڪل نظرانداز ڪري ڇڏيو هو. اهو ڏسي ان جي سڄي آڪڙ ختم ٿي ويندي. هو يڪدم ان حق جو اعتراف ڪرڻ لڳندو جنهن کي ان دنيا ۾ توجه جي لائق نه سمجهيو هو. پر هاڻي وقت گذري چڪو هوندو. ان کي چيو ويندو ته اعتراف جي قيمت عالم الغيب ۾ هئي. عالم شهود ۾ اعتراف جي ڪا قيمت نه آهي.

”شڪ مريب“ جو مطلب مونجهاري ۾ وجهڻ وارو شڪ آهي. اها منڪرن جي نفسياتي حالت جي تصوير آهي. دنيا ۾ جيڪو حق انهن جي سامهون پيش ڪيو پئي ويو اهو زبان ۽ بيان جي لحاظ کان ايترو طاقتور هو جو انهن پاڻ کي اُن جي اڳيان بيوس محسوس ڪيو جو دليل جي ذريعي ان کي رد ڪري ڇڏين. پر اهو حق ڇاڪاڻ ته سندن ذهني سوچ جي خلاف هو، ان ڪري هو ان کي قبول ڪرڻ تي آماده نه ٿي سگهيا. ان ٻه طرفي صورتحال انهن کي هڪ قسم جي اندروني مونجهاري ۾ مبتلا رکيو، ايستائين جو موت جي فرشتي اچي اِهو پردو سندن اکين تان هٽائي ڇڏيو، جنهن کي خود پنهنجن هٿن سان کين هٽائڻو هو، پر اهي ان کي هٽائڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيا.

## (٣٥) سُوْرَةُ فَاطِرٍ مَكِّيَّةٌ (٤٣)

اٰياتها ٤٥ — رکوعاتها ٥

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ جَاعِلِ الۡمَلٰٓئِكَةِ رُسُلًا اُولِیۡۤ اَجۡنِحَةٍ مَّثۡنٰى وَ ثُلٰثَ وَ
رُبٰعَ ؕ يَزِيۡدُ فِى الۡخَلۡقِ مَا يَشَآءُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَیۡءٍ قَدِيۡرٌ ﴿۱﴾ مَا يَفۡتَحِ اللّٰهُ لِلنَّاسِ مِنۡ
رَّحۡمَةٍ فَلَا مُمۡسِكَ لَهَا ۚ وَمَا يُمۡسِكۡ ۙ فَلَا مُرۡسِلَ لَهٗ مِنۡۢ بَعۡدِهٖ ؕ وَهُوَ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ ﴿۲﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

سڀ ساراهه الله جي لاءِ آهي. آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪرڻ وارو ۽ ملائڪن کي قاصد ڪري موڪليندڙ. جن

جا پر آهن ٻہ ٻہ ۽ ٽي ٽي ۽ چار چار هو پنهنجي خلقت ۾ جيڪي چاهي سو وڌائي ٿو. بيشڪ الله هر شيءِ تي قادر آهي. الله ماڻهن لاءِ (پنهنجي) ٻاجھ مان جيڪي کوليندو آهي. تنهن کي کو بند ڪرڻ وارو نہ آهي ۽ جيڪي بند ڪندو تنهن کي کو کولڻ وارو نہ آهي ۽ اهو زبردست حڪمت وارو آهي. ١-٢

---

ملائڪن کي الله تعاليٰ پيغام پهچائڻ لاءِ ۽ پنهنجن حڪمن کي نافذ ڪر لاءِ پيدا ڪيو آهي، پر شيطان ماڻهن کي سيکاريو تہ ملائڪ وڏي حيثيت وارا آهن. اهي دنيا ۾ برڪت ۽ آخرت ۾ نجات جو ذريعو بڻجي سگهن ٿا. تنهن ڪري ڪجھ قومن لات ۽ منات جهڙن نالن سان ملائڪن جون فرضي تصويرون ٺاهي سندن عبادت ڪرڻ لڳيون، ڪجھ قومن انهن کي ديوي ۽ ديوتا قرار ڏئي سندن پوڄا شروع ڪئي. موجوده زماني ۾ فطرت جي قانون (Law of Nature) جي تعظيم بہ اهڙي ئي گمراهي جو جديد ايڊيشن آهي، پر حقيقت اها آهي تہ ملائڪ هجن يا فطرت جو قانون، سڀ هڪ ئي الله جي تابع آهن، سڀ هڪ الله جي حڪم مطابق عمل ڪرڻ وارا آهن. چاهي اهي ٻن ٻانهن وارا هجن يا ڇھ سؤ ٻانهن وارا يا ڇھ سؤ ڪروڙ ٻانهن وارا.

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ ۭ هَلْ مِنْ خَالِقٍ غَيْرُ اللّٰهِ يَرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمَاۗءِ وَالْاَرْضِ ۭ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ڮ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ۝۳ وَاِنْ يُّكَذِّبُوْكَ فَقَدْ كُذِّبَتْ رُسُلٌ مِّنْ قَبْلِكَ ۭ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ۝۴

اي انسانو! پاڻ تي الله جا احسان ياد ڪريو، ڇا الله کان سواءِ ڪو ٻيو خالق آهي جيڪو توهان کي آسمان ۽ زمين مان روزي ڏي ٿو. ان کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي، پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا ويندا آهيو ۽ جيڪڏهن اهي ماڻهو توکي ڪوڙو ڀانئين تہ توکان اڳ ۾ بہ ڪيترا ئي پيغمبر ڪوڙا ڀانئيا ويا آهن ۽ سڀ ڪم الله ڏانهن ئي موٽايا وڃن ٿا. ٣-٤

---

انسان پنهنجي زندگي لاءِ بيشمار شين جو محتاج آهي، مثلاً روشني، پاڻي، هوا، خوراڪ ۽ معدنيات وغيره. انهن مان هر شيءِ اهڙي آهي جو ان کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ ڪائناتي طاقتن جو گڏجي عمل ڪرڻ گهربل آهي. هڪ الله کان سواءِ ڪير آهي جيڪو ايتري وڏي واقعي کي ظهور ۾ آڻڻ جي طاقت رکي ٿو، مشرڪ ۽ ملحد ماڻهو بہ اها دعويٰ نہ ٿا ڪري سگهن تہ انهن زندگي جي سببن جي فراهمي هڪ الله کان سواءِ ٻيو ڪير ڪري سگهي ٿو. پوءِ جڏهن انهن سيني شين جو خالق ۽ سندن انتظام هلائڻ وارو هڪ الله آهي تہ پوءِ ان کان سواءِ ٻين کي معبود بڻائڻ ڪيئن درست ٿي سگهي ٿو.

تاريخ جو اهو عجيب تجربو آهي تہ جن ماڻهن الله کان سواءِ ٻين کي وڏائي جو مقام ڏنو آهي. اهي انهن کي ڇڏي الله کي پنهنجو وڏو ڪرڻ تي راضي نہ ٿا ٿين، چاهي ان جي دعوت پيغمبر جي سطح تي ڇو نہ ڏني وڃي، ان جو سبب اهو آهي تہ ماڻهو هميشہ مجيل کي مڃيندا آهن، جڏهن تہ پيغمبر تي يقين ڪرڻ جو مطلب ان وقت اهو هوندو آهي تہ ماڻهو نہ مڃيل کي مڃي. اهڙي قسم جي ايمان کي حاصل ڪرڻ جي شرط اها آهي جو ماڻهو خود پنهنجي فڪري قوتن کي بيدار ڪري اهو پنهنجي ذاتي بصيرت سان سچائي کي دريافت ڪري ۽ بيشڪ اهو ڪنهن انسان لاءِ هميشہ کان سيني کان مشڪل ڪم رهيو آهي.

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّ وَعۡدَ اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الۡحَيٰوةُ الدُّنۡيَا ۚ وَ لَا يَغُرَّنَّكُمۡ بِاللّٰهِ
الۡغَرُوۡرُ۝۵ اِنَّ الشَّيۡطٰنَ لَكُمۡ عَدُوٌّ فَاتَّخِذُوۡهُ عَدُوًّا ؕ اِنَّمَا يَدۡعُوۡا حِزۡبَهٗ لِيَكُوۡنُوۡا مِنۡ
اَصۡحٰبِ السَّعِيۡرِ۝۶ اَلَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لَهُمۡ عَذَابٌ شَدِيۡدٌ ۬ؕ وَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا
الصّٰلِحٰتِ لَهُمۡ مَّغۡفِرَةٌ وَّ اَجۡرٌ كَبِيۡرٌ۝۷ ع ١٣

اي انسانو! بيشڪ الله جو واعدو سچو آهي. پوءِ دنيا جي زندگي توهان کي دوکي ۾ نہ وجهي ۽ نہ اهو وڏو دوکيباز توهان کي الله بابت دوکو ڏئي وجهي. بيشڪ شيطان توهان جو دشمن آهي. پوءِ توهان ان کي دشمن ئي سمجهو. هو پنهنجي ٽولي کي ان ڪري سڏي ٿو تہ اهي دوزخين مان ٿين. جن ماڻهن انڪار ڪيو سندن لاءِ سخت عذاب آهي ۽ جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا سندن لاءِ معافي آهي ۽ وڏو اجر آهي. ٥-٧

---

الله تعاليٰ پيغمبرن جي ذريعي زندگي جي باري ۾ جيڪا خبر ڏني آهي، اها بظاهر هڪ خيالي ڳالهہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ڇاڪاڻ تہ ماڻهو جو فوراً ان سان واسطو نہ ٿو پوي. ان جي ابتڙ دنيا جون شيون حقيقي نظر ايندڙيون آهن، ڇاڪاڻ تہ ماڻهو جو اڄ ئي انهن سان واسطو پوي ٿو، موت ۽ زلزلا ۽ حادثا ماڻهو کي خبردار ڪندا آهن. اهي چئن تہ قيامت ڪان اڳ ۾ قيامت جي اطلاع آهن. پر شيطان فوراً ئي ماڻهن جي ذهن کي اهو چئي ڦيري ڇڏيندو آهي تہ اهي سڀ اسباب جي تحت پيش اچڻ وارا واقعا آهن، نہ وري خدا جي مداخلت جي ڪري، پر اهڙي قسم جو هر خيال شيطان جو فريب آهي. اهو ڏينهن اچڻ لازمي آهي جڏهن ڪوڙ ۽ سچ جو فيصلو ٿيئي. جڏهن چڱن ماڻهن کي سندن چڱائي جو انعام ملي ۽ برن ماڻهن کي سندن برائي جي سزا ڏني وڃي.

اَفَمَنۡ زُيِّنَ لَهٗ سُوۡٓءُ عَمَلِهٖ فَرَاٰهُ حَسَنًا ؕ فَاِنَّ اللّٰهَ يُضِلُّ مَنۡ يَّشَآءُ وَ يَهۡدِيۡ مَنۡ يَّشَآءُ ۖ
فَلَا تَذۡهَبۡ نَفۡسُكَ عَلَيۡهِمۡ حَسَرٰتٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيۡمٌۢ بِمَا يَصۡنَعُوۡنَ۝۸

ڇا اهڙو ماڻهو جنهن کي سندس برو عمل چڱو ڪري ڏيکاريو ويو. پوءِ هو ان کي سٺو سمجهڻ لڳو. بيشڪ الله جنهن کي چاهي ٿو گمراهہ ڪندو آهي ۽ جنهن کي چاهي ٿو هدايت ڏيندو آهي. تنهن ڪري انهن تي افسوس ڪندي تون پاڻ کي هلاڪ نہ ڪر. بيشڪ الله ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهہ هو ڪندا آهن. ٨

---

الله تعاليٰ هر ماڻهو کي اها صلاحيت ڏني آهي تہ هو سوچي ۽ حق ۽ ناحق جي وچ ۾ فرق ڪري سگهي، جيڪو ماڻهو پنهنجي ان فطري صلاحيت کي استعمال ڪري ٿو، ان کي هدايت ملي ٿي ۽ جيڪو ماڻهو ان فطري صلاحيت کي استعمال نہ ٿو ڪري تہ ان کي هدايت نہ ٿي ملي.

ماڻهو جي سامهون جڏهن حق ايندو آهي تہ فوراً ان جي ذهن کي جهٽڪو لڳي ٿو. ان وقت سندس لاءِ ٻہ رستا هوندا آهن. جيڪڏهن هو حق جو اعتراف ڪري وٺي تہ سندس ذهن صحيح رخ ۾ هلي پوندو آهي ۽ اهو حق جو مسافر بڻجي وڃي ٿو. ان جي ابتڙ جيڪڏهن ايئن ٿئي جو ڪا مصلحت

يا ڪو نفسياتي مونجهارو ان جي سامهون اچي ۽ هو ان ڪان متاثر ٿي حق جو اعتراف ڪرڻ ڪان رڪجي وڃي تہ پوءِ ان جو ذهن پنهنجي انڪار کي جائز ثابت ڪرڻ لاءِ ڳالهيون ٺاهڻ شروع ڪري ڇڏيندو آهي. هو پنهنجي بري عمل کي سٺو عمل ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اها هڪ ذهني بيماري آهي ۽ جيڪي ماڻهو اهڙي قسم جي ذهني بيماري ۾ مبتلا ٿي وڃن، اهي ڪڏهن بہ حق جو اعتراف نہ ٿا ڪري سگهن، ايستائين جو انهيءَ حال ۾ مري اهي خدا وٽ پهچي ٿا وڃن، تہ جيئن پنهنجي ڪيل جو انجام پو ڳين.

وَ اللّٰهُ الَّذِيْٓ اَرْسَلَ الرِّيٰحَ فَتُثِيْرُ سَحَابًا فَسُقْنٰهُ اِلٰى بَلَدٍ مَّيِّتٍ فَاَحْيَيْنَا بِهِ الْاَرْضَ
بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ كَذٰلِكَ النُّشُوْرُ ۝٩ مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْعِزَّةَ فَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ جَمِيْعًا ؕ اِلَيْهِ يَصْعَدُ
الْكَلِمُ الطَّيِّبُ وَ الْعَمَلُ الصَّالِحُ يَرْفَعُهٗ ؕ وَ الَّذِيْنَ يَمْكُرُوْنَ السَّيِّاٰتِ لَهُمْ عَذَابٌ
شَدِيْدٌ ؕ وَ مَكْرُ اُولٰٓئِكَ هُوَ يَبُوْرُ ۝١٠

۽ الله اهو آهي جيڪو هوائن کي موڪليندو آهي، پوءِ اهي ڪڪرن کي ڪٽنديون آهن، پوءِ اسان انهن کي هڪ ويران ڳوٺ ڏانهن روانو ڪندا آهيون، پوءِ انهيءَ (مينهن) سان زمين کي ان جي مرڻ کان پوءِ جيئاريندا آهيون. اهڙي طرح (قبرن مان) مئن جو اٿڻ آهي. جيڪو ماڻهو عزت چاهي ٿو تہ سڀ عزت الله لاءِ آهي. ان ڏانهن پاڪ ڪلام چڙهندو آهي ۽ چڱو عمل ان کي مٿي چاڙهيندو آهي ۽ جيڪي ماڻهو بڇڙاين جي رٿ ڪندا آهن تن لاءِ سخت عذاب آهي ۽ سندن تدبيرون تباهہ ۽ برباد ٿي وينديون. ٩-١٠

---

موجوده دنيا آخرت جو مثال آهي، مينهن هڪ معلوم واقعي جي صورت ۾ هڪ نامعلوم واقعي جو مثال پيش ڪري رهيو آهي. مينهن دراصل سڄي ڪائنات جي هڪ گڏيل عمل جو نتيجو آهي. سج ۽ هوا ۽ سمنڊ ۽ ڪشش جون قوتون ۽ ٻيا ڪيترائي عالمي سبب ڪامل هم آهنگي سان عمل ڪندا آهن تہ پوءِ اهو مينهن ظهور ۾ ايندو آهي، جيڪو خشڪ زمين تي زندگي پيدا ڪري.

مينهن جو اهو عمل ثابت ڪري ٿو تہ ڪائنات جو ناظم پوري ڪائنات تي ڪامل اختيار رکي ٿو. هو هڪ واقعي کي پنهنجي منصوبي تحت ظهور ۾ آڻي ٿو ۽ پوءِ ان جي مٽجي وڃڻ کان پوءِ ٻيهر ان کي ظاهر ڪري ٿو. چاهي ان کي ٻيهر ظاهر ڪرڻ لاءِ سڄي ڪائنات کي متحرڪ ڪرڻو پئي.

مرده زمين کي ٻيهر سرسبز ڪرڻ ۽ مرده انسان کي ٻيهر زنده ڪرڻ ٻئي هڪ جهڙا واقعا آهن. پوءِ جڏهن پهريون واقعو ممڪن ثابت ٿي وڃي تہ پوءِ اهڙي ئي قسم جي ٻي واقعي جو ممڪن ٿيڻ خود بخود ثابت ٿي ويندو آهي.

موجوده دنيا امتحان جي جاءِ آهي. ان ڪري هتي عزت وقتي طور تي هڪ غيرمستحق کي بہ ملي ويندي آهي، پر آخرت ۾ سڄي عزت انهن ماڻهن جي هوندي جيڪي واقعي ان جا مستحق هجن. ان مستحق هئڻ جو معيار ڪلمو طيب ۽ صالح عمل آهي، يعني الله جو اهڙي طرح ملي وڃڻ جو اهوئي ماڻهو جي ياد بڻجي وڃي، جنهن ۾ هو جيئي. اهو ئي ان جو عمل بڻجي وڃي، جنهن ۾ اهو پنهنجون قوتون استعمال ڪري. جيڪي ماڻهو اهڙي طرح پنهنجي زندگي جي تعمير ڪن، الله

انهن جو مددگار بڻجي ويندو آهي ۽ جن ماڻهن جو الله مددگار بڻجي وڃي انهن کي ڪو بہ شڪست نہ ٿو ڏئي سگهي.

وَ اللّٰهُ خَلَقَكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ جَعَلَكُمْ اَزْوَاجًا ؕ وَ مَا تَحْمِلُ مِنْ اُنْثٰى وَ
لَا تَضَعُ اِلَّا بِعِلْمِهٖ ؕ وَ مَا يُعَمَّرُ مِنْ مُّعَمَّرٍ وَّ لَا يُنْقَصُ مِنْ عُمُرِهٖۤ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ ؕ اِنَّ ذٰلِكَ
عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ ﴿۱۱﴾

۽ الله توهان کي مٽي مان پيدا ڪيو پوءِ نطفي مان، پوءِ توهان کي جوڙو جوڙو ڪيائين ۽ ڪا عورت نہ حاملا ٿيندي ۽ نہ ڄڻيندي آهي پر ان (الله) جي علم سان ۽ نہ ڪنهن وڏي عمر واري کي عمر ڏبي آهي ۽ نہ سندس (ڪجھ) عمر گهٽجندي آهي، پر اهو هڪ ڪتاب ۾ لکيل آهي. بيشڪ اهو الله کي آسان آهي. ١١

---

پهريون انسان مٽي جي جزن مان بڻايو ويو. پوءِ الله انسان کي هڪ بوند جي شڪل ۾ ٻج ڪري رکيو. پوءِ انسانن کي عورت ۽ مرد ۾ تقسيم ڪري سندن جوڙن جي ذريعي انساني نسل کي هلايو. اهو واقعو الله جي بي پناهہ قدرت کي ٻڌائي ٿو.

پوءِ جڏهن هڪ ٻار پيٽ ۾ پرورش پائڻ شروع ڪري ٿو تہ پيٽ جي اندر اهي سيئي موافق اسباب بنا ڪنهن طلب جي موجود هوندا آهن، جيڪي ٻار جي پرورش لاءِ مطلوب آهن. اهو واقعو ثابت ڪري ٿو تہ ٻار کي پيدا ڪرڻ وارو ٻار جي ضرورتن کي اڳ ۾ ئي ڄاڻي ٿو، نہ تہ هو اڳواٽ ان جو ايترو مڪمل انتظام ڪيئن ڪري ها.

اهوئي معاملو عمر جو آهي. ڪو ماڻهو ان تي قادر نہ آهي. جو هو پنهنجي مرضي مطابق پنهنجي عمر مقرر ڪري سگهي. ايئن لڳي ٿو تہ عمر جو معاملو سڀني جو سڀ ڪنهن ٻاهرين هستي جي هٿ ۾ آهي. اُهو جنهن کي چاهي ٿو گهٽ عمر ۾ ڪٽي ٿو وٺي ۽ جنهن کي چاهي ٿو ڊگهي عمر ڏئي ٿو ڇڏي. انهن سڀني واقعن ۾ هڪ الله کان سواءِ ڪنهن جو ڪو دخل نہ آهي. پوءِ اهو ڪيئن درست ٿي سگهي ٿو تہ ماڻهو هڪ الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي کان ڊڄي هو ڪنهن ٻئي مان اميدون قائم ڪري.

وَ مَا يَسْتَوِي الْبَحْرٰنِ ۖ هٰذَا عَذْبٌ فُرَاتٌ سَآئِغٌ شَرَابُهٗ وَ هٰذَا مِلْحٌ اُجَاجٌ ؕ وَ مِنْ كُلٍّ
تَاْكُلُوْنَ لَحْمًا طَرِيًّا وَّ تَسْتَخْرِجُوْنَ حِلْيَةً تَلْبَسُوْنَهَا ۚ وَ تَرَى الْفُلْكَ فِيْهِ مَوَاخِرَ
لِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۱۲﴾ يُوْلِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَ يُوْلِجُ النَّهَارَ فِي
الَّيْلِ ۙ وَ سَخَّرَ الشَّمْسَ وَ الْقَمَرَ ۖ٘ كُلٌّ يَّجْرِيْ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ لَهُ
الْمُلْكُ ؕ وَ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ مَا يَمْلِكُوْنَ مِنْ قِطْمِيْرٍ ﴿۱۳﴾ اِنْ تَدْعُوْهُمْ لَا
يَسْمَعُوْا دُعَآءَكُمْ ۚ وَ لَوْ سَمِعُوْا مَا اسْتَجَابُوْا لَكُمْ ؕ وَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ يَكْفُرُوْنَ
ع ٢ بِشِرْكِكُمْ ؕ وَ لَا يُنَبِّئُكَ مِثْلُ خَبِيْرٍ ﴿۱۴﴾

۽ ٻہ دريا هڪ جهڙا نہ آهن (جن مان) هي هڪ مٺو اچ لاهيندڙ آهي. سندس پاڻي وڻندڙ آهي ۽ هي (ٻيو) کارو کوڙو آهي ۽ (توهان) ٻنهي مان تازو گوشت کائيندا آهيو ۽ زيور ڪڍندا آهيو، جيڪي پائيندا آهيو ۽ منجهس چيريندڙن ٻيڙيون ڏسندو آهين تہ جيئن توهان سندس فضل مان (روزي) تلاش ڪريو ۽ تہ جيئن توهان شڪر ادا ڪريو، هو داخل ڪري ٿو رات کي ڏينهن ۾ ۽ هو داخل ڪري ٿو ڏينهن کي رات ۾ ۽ هن سج ۽ چنڊ کي تابع ڪيو آهي. هر هڪ هلندو آهي ٺهرايل مدت تي. اهو الله ئي توهان جو رب آهي. بادشاهي ان ئي جي لاءِ آهي ۽ ان کان سواءِ توهان جن کي سڏيندا آهيو سي کارڪ جي ککڙي جي کل جا بہ مالڪ نہ آهن. جيڪڏهن کين سڏيو تہ توهان جو سڏ نہ ٻڌندا ۽ جيڪڏهن (ڪٿي) ٻڌن (بہ) تہ توهان کي ورندي نہ ڏيندا ۽ اهي قيامت جي ڏينهن توهان جي شرڪ جو انڪار ڪندا ۽ توکي خبر رکندڙ (الله) جهڙي ڪو بہ خبر نہ ڏيندو. ١٢-١٤

---

زمين تي پاڻي جو عظيم الشان ذخيرو آهي. وسيع سمنڊ ۾ کاري پاڻي جي صورت ۾ ۽ دريائن ۽ ڍنڍن ۽ چشمن ۾ مٺي پاڻي جي صورت ۾ اهو پاڻي ماڻهو جي لاءِ بيشمار فائدن جو ذريعو آهي. اهو پيئڻ ۽ فصلن لاءِ استعمال ٿيندو آهي. ان مان پاڻي وارا جاندار حاصل ٿيندا آهن، جيڪي انسان لاءِ قيمتي خوراڪ آهن، زمين جي ٽن حصن ۾ ڦهليل سمنڊ چڻ تہ وسيع پاڻي جا رستا آهن جن سفر ۽ تجارت کي آسان بڻائي ڇڏيو آهي. سمنڊ مان موتي ۽ ٻيون قيمتي شيون حاصل ٿينديون آهن، وغيره.

پوءِ وسيع خلا ۾ الله سج ۽ چنڊ کي تابع ڪري رکيو آهي جن ۾ بيشمار فائدا آهن. اهو زمين کي سج جي چؤطرف پنهنجي محور تي ڪامل حساب سان گهمائي رهيو آهي، جنهن سان رات ۽ ڏينهن پيدا ٿيندا آهن. اهڙي طرح بيشمار ڪائناتي انتظام آهن جيڪي صرف الله جا قائم ڪيل آهن. پوءِ الله کان سواءِ ڪير آهي جيڪو انسان جي شڪر جو مستحق هجي. لامحدود طاقتون رکڻ وارو الله انسان جون ضرورتون پوريون ڪري سگهي ٿو يا اهي فرضي معبود جيڪي ڪنهن بہ قسم جو ڪو اختيار نہ ٿا رکن.

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اَنۡتُمُ الۡفُقَرَآءُ اِلَى اللّٰهِ ۚ وَ اللّٰهُ هُوَ الۡغَنِيُّ الۡحَمِيۡدُ ﴿۱۵﴾ اِنۡ يَّشَاۡ يُذۡهِبۡكُمۡ وَ
يَاۡتِ بِخَلۡقٍ جَدِيۡدٍ ﴿ۚ۱۶﴾ وَ مَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ بِعَزِيۡزٍ ﴿۱۷﴾ وَ لَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزۡرَ اُخۡرٰى ؕ وَ اِنۡ
تَدۡعُ مُثۡقَلَةٌ اِلٰى حِمۡلِهَا لَا يُحۡمَلۡ مِنۡهُ شَيۡءٌ وَّ لَوۡ كَانَ ذَا قُرۡبٰى ؕ اِنَّمَا تُنۡذِرُ الَّذِيۡنَ
يَخۡشَوۡنَ رَبَّهُمۡ بِالۡغَيۡبِ وَ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ ؕ وَ مَنۡ تَزَكّٰى فَاِنَّمَا يَتَزَكّٰى لِنَفۡسِهٖ ؕ وَ اِلَى اللّٰهِ
الۡمَصِيۡرُ ﴿۱۸﴾

اي انسانو! توهان الله جا محتاج آهيو ۽ الله بي پرواهہ ساراهيل آهي. جيڪڏهن هو چاهي توهان کي ناس ڪري ۽ هڪ نئين خلق پيدا ڪري ۽ اهو الله لاءِ ڪجهہ مشڪل نہ آهي ۽ ڪو بہ بار کڻندڙ ٻئي جو بار نہ کڻندو ۽ جيڪڏهن ڪو ڳري بار وارو سندس بار کڻڻ لاءِ سڏيندو تہ ان منجهان ذرو بہ نہ کنيو ويندو، توڙي اهو سندس ويجهو عزيز ڇو نہ هجي. تون تہ صرف انهن کي ڊيڄاري سگهندين جيڪي پنهنجي رب کان پرپٺ ڊڄندا آهن ۽ نماز قائم ڪندا آهن ۽ جيڪو پاڪ ٿيو سو رڳو پاڻ لاءِ پاڪ ٿئي ٿو ۽ الله ڏانهن ئي موٽڻ آهي. ١٥-١٨

---

موجوده دنيا ۾ انسان انتهائي حدتائين غير محفوظ (Vulnerable) آهي. انسان جو سڄو معاملو فطرت جي خاص توازن تي قائم آهي. جيڪڏهن اهو توازن باقي نہ رهي تہ هڪ لمحي ۾ انساني زندگي

جو خاتمو ٿي وڃي.

سج جيڪڏهن پنهنجي موجوده فاصلي کي ختم ڪري زمين جي ويجهو اچي وڃي ته اچانڪ سيئي انسان سڙي خاڪ ٿي وڃن. زمين جي اندر اُن جو وڏو حصو بيحد گرم مادي جي صورت ۾ آهي. ان گرم مادي جي حرڪت جيڪڏهن زمين جي سطح ڏانهن ٿي وڃي ته اهڙو زلزلو پيدا ٿيندو جو سيئي آباديون ناس ٿي وينديون. مٿي فضائن ۾ هر وقت شهابي پٿر (Meteors) وسندا رهندا آهن. جيڪڏهن موجوده انتظام بگڙي وڃي ته اهي شهاب پٿرن جي مينهن جي صورت اختيار ڪري وٺندا جنهن ڪان ڪنهن حال ۾ به بچڻ ممڪن نه آهي. اهڙي طرح بيشمار هلاڪتن جي امڪانن هر وقت انسان کي گهيري رکيو آهي. حقيقت اها آهي ته انسان هڪ اهڙي مخلوق آهي جيڪا مڪمل طور تي محتاج آهي. انسان کي الله جي ضرورت آهي، نه وري الله کي انسان جي ضرورت.

قيامت جو بار خود پنهنجي گناهن جو بار هوندو، نه وري سرن ۽ پٿرن جو بار. سِرن ۽ پٿرن جي بار ۾ هڪ ماڻهو ڪنهن ٻئي ماڻهو جو حصيدار بڻجي سگهي ٿو، پر خود پنهنجي بُري عمل جي ڪري جيڪا رسوائي ۽ تڪليف ڪنهن ماڻهو کي ٿيندي آهي ته اهو هڪ ذاتي نوعيت جو عذاب هوندو آهي. ان ۾ ڪنهن ٻئي جو حصيدار بڻجڻ جو سوال ئي نه آهي.

حقيقت بلڪل واضح آهي، پر حقيقت کي اهوئي ماڻهو سمجهي ٿو، جيڪو ان کي سمجهڻ چاهي. جيڪو ماڻهو ان باري ۾ سنجيده ئي نه هجي ته حقيقت ڇا آهي ۽ بي حقيقت ڇا. ان کي ڪا ڳالهه سمجهائي نه ٿي سگهجي.

وَ مَا يَسْتَوِي الْاَعْمٰى وَ الْبَصِيْرُ ﴿١٩﴾ وَ لَا الظُّلُمٰتُ وَ لَا النُّوْرُ ﴿٢٠﴾ وَ لَا الظِّلُّ وَ لَا الْحَرُوْرُ ﴿٢١﴾
وَ مَا يَسْتَوِي الْاَحْيَآءُ وَ لَا الْاَمْوَاتُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُسْمِعُ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَ مَآ اَنْتَ بِمُسْمِعٍ مَّنْ
فِي الْقُبُوْرِ ﴿٢٢﴾ اِنْ اَنْتَ اِلَّا نَذِيْرٌ ﴿٢٣﴾ اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ بِالْحَقِّ بَشِيْرًا وَّ نَذِيْرًا ؕ وَ اِنْ مِّنْ اُمَّةٍ
اِلَّا خَلَا فِيْهَا نَذِيْرٌ ﴿٢٤﴾ وَ اِنْ يُّكَذِّبُوْكَ فَقَدْ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۚ جَآءَتْهُمْ
رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ وَ بِالزُّبُرِ وَ بِالْكِتٰبِ الْمُنِيْرِ ﴿٢٥﴾ ثُمَّ اَخَذْتُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَكَيْفَ
كَانَ نَكِيْرِ ﴿٢٦﴾ ع ١٢ ١٥

۽ انڌو ۽ اکين وارو برابر نه آهن ۽ نه اونداهي ۽ نه سوجهرو ۽ نه ڇانوَ ۽ نه اُس ۽ زنده ۽ مرده برابر ٿِي نٿا سگهن. بيشڪ الله ٻڌائيندو آهي جنهن کي چاهيندو آهي ۽ تون انهن کي ٻڌائيندڙ نه ٿو ٿي سگهين جيڪي قبرن ۾ آهن. تون ته رڳو ڊيڄاريندڙ آهين. بيشڪ اسان توکي حق سان موڪليو آهي خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ۽ ڪا امت اهڙي نه آهي جنهن ۾ ڪو ڊيڄاريندڙ نه آيو هجي ۽ جيڪڏهن اهي ماڻهو توکي ڪوڙو ڀانئين ٿا ته ڪائن اڳين به ڪوڙو ڀانئيو هو جن وٽ سندن پيغمبر پڌرن دليلن ۽ صحيفن ۽ پڌرن ڪتابن سان آيا هئا. پوءِ جن ماڻهن نه مڃيو ڪين مون پڪڙيو. پوءِ (ڏسو) منهنجي سزا ڪيئن هئي. ١٩-٢٦

---

اها هڪ حقيقت آهي ته جيڪا اميد روشني مان ڪري سگهجي ٿي، اها اميد اونداهي مان نه ٿي

ڪري سگهجي، اهڙي طرح چانو ۾ جيڪا شيءِ ملندي اُها اُس ۾ ملڻ واري نہ آهي. اِهو ئي معاملو انسان جو آهي. انسانن ۾ ڪجھ اکين وارا هوندا آهن ۽ ڪجھ انڌا هوندا آهن. اکين وارو فوراً پنهنجي رستي کي ڏسي ان کي سچاڻي ٿو وٺي، پر جيڪو انڌو آهي اهو رڳو ڀٽڪندو رهندو آهي. ان کي ڪڏهن بہ پنهنجي رستي جي سڃاڻپ نہ ٿي ٿئي سگهي.

اهڙي طرح اندروني معرفت جي لحاظ کان بہ ٻن قسمن جا ماڻهو هوندا آهن، هڪ جاندار ۽ ٻيا مرده. جاندار انسان اُهو آهي جيڪو ڳالهين کي انهن جي گهرائي سان ڏسندو آهي. جيڪو لفظن جي فريب جو پردو هٽائي معنيٰ جو ادراڪ ڪندو آهي. جيڪو سطحي پهلوئن کان گذري واقعي جي حقيقت کي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جيڪو شين کي سندن جوهر جي لحاظ کان جانچي ٿو، نہ وري رڳو سندن ظاهر جي لحاظ کان، جنهن جي نگاهہ هميشہ اصل حقيقت تي رهي ٿي، نہ وري غير متعلق اجاين بحثن تي، جيڪو اهو برداشت نہ ٿو ڪري سگهي جو سچائي کي ڄاڻي وٺڻ کان پوئي اهو خود کي ان سان وابستہ نہ ڪري، اهي ئي جاندار ماڻهو آهن ۽ اِهي ئي اُهي ماڻهو آهن جن کي موجوده دنيا ۾ حق کي قبول ڪرڻ جي توفيق ملندي آهي ۽ جيڪي ماڻهو ان جي ابتڙ صفتون رکندا هجن، اُهي مرده انسان آهن. انهن کي امتحان جي هن دنيا ۾ ڪڏهن بہ حق کي قبول ڪرڻ جي توفيق نٿي ملي، اُهي حق جي دعوت جي مقابلي انڌا ٻڌجي وڃن ٿا، ايستائين جو مري الله وٽ هليا وڃن، تہ جيئن پنهنجي انڌي هجڻ جو انجام ڀوڳين.

اَلَمۡ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ اَنۡزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً ۚ فَاَخۡرَجۡنَا بِهٖ ثَمَرٰتٍ مُّخۡتَلِفًا اَلۡوَانُهَا ؕ وَ مِنَ الۡجِبَالِ جُدَدٌۢ بِيۡضٌ وَّ حُمۡرٌ مُّخۡتَلِفٌ اَلۡوَانُهَا وَ غَرَابِيۡبُ سُوۡدٌ ﴿۲۷﴾ وَ مِنَ النَّاسِ وَ الدَّوَآبِّ وَ الۡاَنۡعَامِ مُخۡتَلِفٌ اَلۡوَانُهٗ كَذٰلِكَ ؕ اِنَّمَا يَخۡشَى اللّٰهَ مِنۡ عِبَادِهِ الۡعُلَمٰٓؤُا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيۡزٌ غَفُوۡرٌ ﴿۲۸﴾

ڇا تو نہ ڏٺو تہ الله آسمان مان پاڻي وسايو. پوءِ ان سان مختلف رنگن جا ميوا پيدا ڪياسون ۽ جبلن ۾ بہ اڇا ۽ ڳاڙها مختلف رنگن جا ٽڪرا آهن ۽ نهايت ڪارا بہ ۽ اهڙيءَ طرح انسانن ۽ جانورن ۽ ڍورن ۾ بہ مختلف رنگ جا آهن. الله کان سندس ٻانهن مان رڳو علم وارا ئي ڊڄندا آهن. بيشڪ الله غالب بخشڻهار آهي. ٢٧-٢٨

---

ڪڪرن مان هڪ جهڙو پاڻي ئي وسي ٿو، پر ان مان مختلف قسمن جون شيون پيدا ٿينديون آهن. سنا وڻ بہ ۽ ڪک پن بہ. اهڙي طرح جبل هڪڙي ئي مادي مان ٺهندا آهن، پر ڪن جو رنگ ڳاڙهو ۽ اڇو آهي ۽ ڪجھ بلڪل ڪارا. اهڙي طرح جاندار بہ سڀئي هڪ خوراڪ کائيندا آهن، پر انهن مان ڪو انسان لاءِ ڪارآمد آهي ۽ ڪو بيڪار.

ان مان معلوم ٿيو تہ فيض ڪٿي عام هجي، پر ان مان فائدو هر هڪ کي ان جي پنهنجي استعداد يا قابليت جي مطابق پهچي ٿو. اهوئي معاملو انسان جو بہ آهي. حق جي دعوت جي صورت ۾ خدا جي جيڪا رحمت پکڙبي آهي، اها جيتوڻيڪ بذات خود هڪ ئي هوندي آهي، پر مختلف انسان پنهنجي اندروني مزاج جي مطابق ان کان مختلف قسم جو تاثر قبول ڪندا آهن، ڪو ماڻهو حق جي دعوت ۾ پنهنجي روح جي غذا پائي وٺندو آهي، اهو فوراً ان کي قبول ڪري خود کي ان سان وابستہ ڪري وٺندو

آهي ۽ ڪنهن جي نفسيات ان جي لاءِ حق کي مڃڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي ويندي آهي. اُهو ان ڪان پري ٿي ويندو آهي، ايستائين جو ان جو مخالف بڻجي بيهي ٿو رهي.

حق جي دعوت جنهن ماڻهو لاءِ ان جي دل جو آواز بڻجي وڃي، اهو ئي علم وارو انسان آهي، هن جي اندر خدا جي ڏنل فطري روشني زنده هئي، ان ڪري حق جڏهن ظاهر ٿيو ته هن ان کي سڃاڻي ورتو. ان جي مقابلي ۾ اُهي ماڻهو جاهل آهن جيڪي پنهنجي فطرت جي روشني تي پردو وجهي ويٺا آهن ۽ جڏهن حق سندن سامهون ظاهر ٿيندو آهي ته اُن کي سڃاڻڻ ۾ ناڪام رهندا آهن.

اِنَّ الَّذِيْنَ يَتْلُوْنَ كِتٰبَ اللّٰهِ وَ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ اَنْفَقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّ عَلَانِيَةً
يَّرْجُوْنَ تِجَارَةً لَّنْ تَبُوْرَ ﴿٢٩﴾ لِيُوَفِّيَهُمْ اُجُوْرَهُمْ وَ يَزِيْدَهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ؕ اِنَّهٗ غَفُوْرٌ
شَكُوْرٌ ﴿٣٠﴾ وَ الَّذِيْۤ اَوْحَيْنَاۤ اِلَيْكَ مِنَ الْكِتٰبِ هُوَ الْحَقُّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ
بِعِبَادِهٖ لَخَبِيْرٌۢ بَصِيْرٌ ﴿٣١﴾

جيڪي ماڻهو الله جو ڪتاب پڙهندا آهن ۽ نماز قائم ڪندا آهن ۽ جيڪو ڪجهه اسان انهن کي عطا ڪيو آهي، تنهن مان ڳجهو ۽ پڌرو خرچ ڪندا آهن. سي اهڙي تجارت جا اميدوار آهن جيڪا ڪڏهن به برباد نہ ٿيندي، تہ جيئن الله کين سندن پورو اجر ڏي ۽ پنهنجي فضل سان کين وڌيڪ بہ ڏي. بيشڪ اهو بخشڻهار، قدردان آهي ۽ اسان توڏانهن جيڪو ڪتاب وحي ڪيو آهي، اهو حق آهي. جيڪي ڪائنس اڳ آهن تن کي بہ سچو ڪندڙ آهي، بيشڪ الله پنهنجن ٻانهن جي خبر رکندڙ ڏسندڙ آهي. ٢٩-٣١

---

علم وارو اُهو آهي جيڪو معرفت وارو آهي ۽ جنهن ماڻهو کي معرفت حاصل ٿي وڃي ته اهو الله جي ڪتاب کي پنهنجو فڪري رهبر بڻائي ٿو وٺي، اهو الله جو عبادت گذار ٻانهو بڻجي ويندو آهي. انسانن جي حق ۾ هو ايترو مهربان ٿي ويندو آهي جو پنهنجي محنت جي ڪمائي مان انهن لاءِ به حصو ڪيندو آهي. هن جي اندر اهو حوصلو پيدا ٿي ويندو آهي جو خود کي پوري طرح الله جي ڪم ۾ لڳائي ڇڏي ۽ ان ڳالھ تي مطمئن رهي ته سندس اجر ان کي آخرت ۾ ڏنو ويندو.

قرآن جي صداقت جو هڪ ثبوت اهو به آهي ته اهو عين انهن اڳڪتين جي مطابق آهي جيڪي اڳين ڪتابن ۾ ان ڪان اڳ ۾ اچي چڪيون آهن، جيڪڏهن ڪو ماڻهو سنجيده هوندو ته اهوئي واقعو هن لاءِ قرآن تي ايمان آڻڻ لاءِ ڪافي ٿي ويندو.

ثُمَّ اَوْرَثْنَا الْكِتٰبَ الَّذِيْنَ اصْطَفَيْنَا مِنْ عِبَادِنَا ۚ فَمِنْهُمْ ظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ ۚ وَ مِنْهُمْ
مُّقْتَصِدٌ ۚ وَ مِنْهُمْ سَابِقٌۢ بِالْخَيْرٰتِ بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَضْلُ الْكَبِيْرُ ﴿٣٢﴾ؕ جَنّٰتُ
عَدْنٍ يَّدْخُلُوْنَهَا يُحَلَّوْنَ فِيْهَا مِنْ اَسَاوِرَ مِنْ ذَهَبٍ وَّ لُؤْلُؤًا ۚ وَ لِبَاسُهُمْ فِيْهَا حَرِيْرٌ ﴿٣٣﴾
وَ قَالُوا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْۤ اَذْهَبَ عَنَّا الْحَزَنَ ؕ اِنَّ رَبَّنَا لَغَفُوْرٌ شَكُوْرُ ﴿٣٤﴾ ۙ الَّذِيْۤ اَحَلَّنَا
دَارَ الْمُقَامَةِ مِنْ فَضْلِهٖ ۚ لَا يَمَسُّنَا فِيْهَا نَصَبٌ وَّ لَا يَمَسُّنَا فِيْهَا لُغُوْبٌ ﴿٣٥﴾

پوءِ اسان ڪتاب جو انهن ماڻهن کي وارث ڪيوسون جن کي پنهنجن ٻانهن مان چونڊيوسون. پوءِ انهن ۾ ڪجهه پنهنجن جانين تي ظلم ڪرڻ وارا آهن ۽ منجهان ڪي وچترا آهن ۽ انهن ۾ ڪجهه الله جي توفيق سان چڱاين ۾ اڳرائي ڪرڻ وارا آهن. اهوئي سڀني کان وڏو فضل آهي. هميشه رهڻ وارا باغ آهن جن ۾ اهي ماڻهو داخل ٿيندا. اتي انهن کي سون جا ڪنگڻ ۽ موتي پارايا ويندا ۽ اتي سندن لباس ريشم جو هوندو ۽ اهي چوندا ته سڀ ساراهه ان الله جي جنهن اسان کان ڏُک کي پري ڪيو. بيشڪ اسان جو رب معاف ڪندڙ قدر ڄاڻندڙ آهي. جنهن اسان کي پنهنجي فضل سان سدائين رهڻ واري گهر ۾ لاٿو. ان ۾ اسان کي نه ڪا تڪليف پهچندي ۽ نه ڪڏهن ٿڪ ٿيندو. ٣٢-٣٥

---

حضرت يعقوبؑ حضرت ابراهيمؑ جا پوٽا هئا. حضرت يعقوبؑ کان وٺي حضرت مسيحؑ تائين سڀئي پيغمبر بني اسرائيل جي نسل ۾ پيدا ٿيندا رهيا. اهڙي طرح تقريباً ٻه هزار سالن تائين پيغمبري جو سلسلو يهودين جي نسل ۾ جاري رهيو. پر بعد جي دور ۾ يهودي ان قابل نه رهيا جو اهي ڪتاب الاهي جا حامل بڻجي سگهن. تنهن ڪري ٻي زنده قوم (بني اسماعيل) کي ڪتاب الاهي جو حامل بڻجڻ لاءِ منتخب ڪيو ويو. بني اسماعيل ۾ پيغمبرؑ جي پيدائش الله جي ان ئي فيصلي جي تعميل هئي. هن آيت ۾ منتخب ٻانهن مان مراد اُهي ئي بني اسماعيل آهن.

رسول اللهﷺ جڏهن بني اسماعيل جي سامهون قرآن پيش ڪيو ته اُهي ماڻهو ٽن قسمن ۾ ورهائجي ويا. هڪڙا اُهي جيڪي ان جا مخالف بڻجي بيهي رهيا. ٻيا اُهي جن وچٿرو رستو اختيار ڪيو. ٽيون قسم اڳيان وڌڻ وارن جو هو. هي اُهي ماڻهو هئا جن پيغمبرﷺ جو ساٿ ڏئي اسلام جي عظيم تاريخ ٺاهي.

قرآن جو ساٿ ڏيڻ لاءِ انهن کي هر قسم جي راحت کان محروم ٿيڻو پيو. جنهن جي نتيجي ۾ سندن زندگي عملي طور تي صبر ۽ جفاڪشي جي زندگي بڻجي وئي. ان قرباني جي قيمت انهن کي آخرت ۾ اهڙي طرح ملندي جو الله انهن کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جتي هو هميشه لاءِ ڏکن ۽ تڪليفن کان محفوظ ٿي ويندا.

وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَهُمْ نَارُ جَهَنَّمَ ۚ لَا يُقْضٰى عَلَيْهِمْ فَيَمُوْتُوْا وَ لَا يُخَفَّفُ عَنْهُمْ مِّنْ
عَذَابِهَا ؕ كَذٰلِكَ نَجْزِيْ كُلَّ كَفُوْرٍ ۚ﴿۳۶﴾ وَ هُمْ يَصْطَرِخُوْنَ فِيْهَا ۚ رَبَّنَاۤ اَخْرِجْنَا نَعْمَلْ
صَالِحًا غَيْرَ الَّذِيْ كُنَّا نَعْمَلُ ؕ اَوَ لَمْ نُعَمِّرْكُمْ مَّا يَتَذَكَّرُ فِيْهِ مَنْ تَذَكَّرَ وَ جَآءَكُمُ
ع ١١ ١٦ النَّذِيْرُ ؕ فَذُوْقُوْا فَمَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ نَّصِيْرٍ ﴿۳۷﴾

۽ جن انڪار ڪيو تن لاءِ جهنم جي باهه آهي نه انهن تي قضا ايندي جو اهي مري وڃن ۽ نه عذاب انهن تان هلڪو ڪيو ويندو. اسان هر ڪافر کي اهڙي ئي سزا ڏيندا آهيون ۽ اهي ماڻهو ان ۾ دانهون ڪندا ته اي اسان جا رب! اسان کي ٻاهر ڪڍ. اسان نيڪ عمل ڪنداسون ان کان مختلف جيڪي اسان ڪندا هئاسون. ڇا اسان توهان کي ايتري ڄمار نه ڏني هئي. جيڪو نصيحت پرائڻ چاهي ها ته پرائي سگهي ها ۽ توهان وٽ ڊيڄارڻ وارو آيو. تنهن ڪري (پنهنجي ڪمائي جو مزو) چکو. جو ته ظالمن جو ڪو مددگار نه آهي. ٣٦-٣٧

---

دنيا ۾ حق جو انڪار ڪرڻ وارا آخرت ۾ حق جو مڪمل اعتراف ڪندا، پر اهو اعتراف سندن ڪجھ بہ ڪم نہ ايندو، ڇاڪاڻ تہ آخرت جو اعتراف هڪ مجبور انسان جو اعتراف آهي ۽ الله تعاليٰ کي جيڪو اعتراف گهربل آهي اهو اختياري اعتراف ڪرڻ آهي، نہ وري جبري اعتراف.

اِنَّ اللّٰهَ عٰلِمُ غَيْبِ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿۳۸﴾ هُوَ الَّذِيْ جَعَلَكُمْ خَلٰٓئِفَ فِي الْاَرْضِ ؕ فَمَنْ كَفَرَ فَعَلَيْهِ كُفْرُهٗ ؕ وَ لَا يَزِيْدُ الْكٰفِرِيْنَ كُفْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ اِلَّا مَقْتًا ۚ وَ لَا يَزِيْدُ الْكٰفِرِيْنَ كُفْرُهُمْ اِلَّا خَسَارًا ﴿۳۹﴾

بيشڪ الله آسمانن ۽ زمين جو ڳجھ ڄاڻندڙ آهي. بيشڪ اهو دل جي ڳالهين کان باخبر آهي. اهوئي آهي جنهن توهان کي زمين ۾ جانشين بڻايو آهي. پوءِ جيڪو ماڻهو انڪار ڪندو تہ سندس انڪار ان تي ئي پوندو ۽ منڪرن لاءِ سندن انڪار سندن رب وٽ ڏمر (ناراضگي) وڌڻ جو سبب هوندو آهي ۽ منڪرن جو انڪار سندن خساري ۾ واڌارو ڪندو. ٣٨-٣٩

---

هن آيت ۾ خليفي مان مراد اڳين قومن جو خليفو بڻجڻ آهي. ”توهان کي زمين ۾ خليفو بڻايو“ جو مطلب آهي اڳين قومن جي گذرڻ کان بعد توهان کي سندن جاءِ تي زمين ۾ آباد ڪيو. الله تعاليٰ جو اهو طريقو آهي تہ اهو هڪ قوم کي زمين ۾ آباد ٿيڻ ۽ عمل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو آهي، پوءِ جڏهن اها قوم پنهنجي نااهلي ثابت ڪري ڇڏيندي آهي تہ ان کي هٽائي ٻي قوم کي ان جي جاءِ تي آڻيندو آهي، اهڙي طرح زمين ۾ هڪ کان بعد ٻئي قوم جي آبادڪاري جو سلسلو جاري رهندو آهي، ايستائين جو قيامت اچي وڃي.

موجوده زماني ۾ فطرت جا جيڪي قانون دريافت ٿيا آهن. اهي ٻڌائن ٿا تہ هتي اهو ممڪن آهي جو اونداهي ۾ ڪنهن شيءِ جو فوٽو وٺي سگهجي ۽ بظاهر نہ ٻڌڻ ۾ اچڻ واري آواز کي مشين جي مدد سان ٻڌڻ جي قابل بڻائي سگهجي، تخليق ۾ اهڙي طرح جا تجربا خالق جي قدرت جو تعارف آهن. ان مان خبر پئي ٿي تہ هن ڪائنات جو خالق هڪ اهڙي هستي آهي جيڪا ڳجھ کي ڄاڻي ۽ دلين ۾ لڪيل ڳالھ کي ٻڌي سگهي، جڻ تہ انسان جو معاملو هڪ اهڙي عليم ۽ قدير الله سان آهي جنهن کان نہ ڪنهن جي جرم کي لڪائي سگهجي ٿو ۽ نہ وري اهو ممڪن آهي جو ان جي فيصلي کي ڪهڙي بہ طرح بدلائي سگهجي.

قُلْ اَرَءَيْتُمْ شُرَكَآءَكُمُ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ اَرُوْنِيْ مَا ذَا خَلَقُوْا مِنَ الْاَرْضِ اَمْ لَهُمْ شِرْكٌ فِي السَّمٰوٰتِ ۚ اَمْ اٰتَيْنٰهُمْ كِتٰبًا فَهُمْ عَلٰى بَيِّنَتٍ مِّنْهُ ۚ بَلْ اِنْ يَّعِدُ الظّٰلِمُوْنَ بَعْضُهُمْ بَعْضًا اِلَّا غُرُوْرًا ﴿۴۰﴾ اِنَّ اللّٰهَ يُمْسِكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ اَنْ تَزُوْلَا ۚ وَ لَئِنْ زَالَتَآ اِنْ اَمْسَكَهُمَا مِنْ اَحَدٍ مِّنْۢ بَعْدِهٖ ؕ اِنَّهٗ كَانَ حَلِيْمًا غَفُوْرًا ﴿۴۱﴾

چئو الله کان سواءِ جن پنهنجن شريڪن کي سڏيندا آهيو سي ڏنا اٿوَ. مون کي ڏيکاريو تہ انهن زمين ۾ ڇا بڻايو آهي يا آسمانن ۾ سندن ڪا ڀائيواري آهي يا اسان انهن کي ڪو ڪتاب ڏنو آهي جو اهي ان جي ڪنهن پڌري

دليل تي آهن. بلڪ اهي ظالم هڪ ٻئي سان رڳو ٺڳي جا وعدا ڪندا آهن. بيشڪ الله ئي آسمانن ۽ زمين کي جهلي رکيو آهي جو اهي (پنهنجي جاءِ تان) هٽي نه وڃن ۽ جيڪڏهن ڊهن ته ان کان سواءِ ڪو ٻيو انهن کي جهلي نه ٿو سگهي. بيشڪ اهو بردبار بخشڻهار آهي. ٤٠-٤١

---

ڪائنات جي تخليق ۾ لامحدود خلا ۾ بيشمار سيارن ۽ ستارن (گرهه) جو نظام حيرت انگيز حد تائين عظيم آهي، اهو بلڪل ناقابل قياس آهي ته ان عظيم نظام کي جزوي يا مڪمل طورتي انهن هستين مان ڪنهن ڏانهن منسوب ڪري سگهجي، جن کي ماڻهو بطور خود معبود بڻائي پرستش ڪندا آهن. اهڙي طرح ان جو به ڪو ثبوت نه آهي ته الله خود اها خبر ڏني هجي ته ڪو ٻيو آهي جيڪو هن سان خدائي ۾ شريڪ آهي.

حقيقت اها آهي ته غيرالله جي پرستش جو سڄو معاملو صرف ٺڳي تي قائم آهي. اهڙي قسم جو فريب ان وقت تائين هلندو، جيستائين قيامت نه اچي. قيامت ايندي ئي ان جو اهڙي طرح خاتمو ٿي ويندو جڻ ته ان جو ڪو وجود ئي نه هو.

وَ اَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ لَىِٕنْ جَآءَهُمْ نَذِيْرٌ لَّيَكُوْنُنَّ اَهْدٰى مِنْ اِحْدَى الْاُمَمِ ۚ فَلَمَّا جَآءَهُمْ نَذِيْرٌ مَّا زَادَهُمْ اِلَّا نُفُوْرَا ۝ اِسْتِكْبَارًا فِي الْاَرْضِ وَ مَكْرَ السَّيِّئِ ؕ وَ لَا يَحِيْقُ الْمَكْرُ السَّيِّئُ اِلَّا بِاَهْلِهٖ ؕ فَهَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا سُنَّتَ الْاَوَّلِيْنَ ۚ فَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّتِ اللّٰهِ تَبْدِيْلًا ۚ وَ لَنْ تَجِدَ لِسُنَّتِ اللّٰهِ تَحْوِيْلًا ۝ اَوَ لَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ وَ كَانُوْٓا اَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةً ؕ وَ مَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعْجِزَهٗ مِنْ شَيْءٍ فِي السَّمٰوٰتِ وَ لَا فِي الْاَرْضِ ؕ اِنَّهٗ كَانَ عَلِيْمًا قَدِيْرًا ۝

۽ انهن پنهنجن پڪن قسمن سان الله جو قسم کنيو هو ته جيڪڏهن انهن وٽ ڪو ڊيڄارڻ وارو آيو ته اهي هر هڪ امت کان وڌيڪ هدايت قبول ڪرڻ وارا ٿيندا. پوءِ جڏهن انهن وٽ هڪ ڊيڄارڻ وارو آيو ته رڳو سندن نفرت ۾ ئي واڌارو ٿيو. ملڪ ۾ پنهنجو پاڻ کي وڏو سمجهڻ ۽ بڇڙي رٿ رٿڻ سبب ۽ بڇڙي رٿ رٿڻ جو وبال ان جي رٿڻ وارن تي ئي پوندو آهي، ته پوءِ ڇا اِهي اڳين جي (عذاب جي) دستور جا منتظر آهن. پوءِ (تون) ڪڏهن الله جي دستور ۾ تبديلي نه ڏسندين ۽ نه الله جي دستور ۾ ڪا ڦيرگهير ڏسندين. ڇا اهي ماڻهو زمين ۾ هليا ڦريا نه آهن جو ڏسن ته جيڪي ڪائنن اڳ هئا تن جي پڇاڙي ڪهڙي ٿي، اُهي قوت ۾ ڪائنن وڌيڪ هئا ۽ الله اهڙو نه آهي جو ڪا شيءِ آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ ان کي عاجز ڪري ڇڏي، بيشڪ اهو علم وارو قدرت وارو آهي. ٤٢-٤٤

---

عرب جا ماڻهو جڏهن ٻڌندا هئا ته يهودين ۽ ٻين قومن پنهنجي نبين جي نافرماني ڪئي ته اهي وڏي جوش سان چوندا هئا ته جيڪڏهن اسان وٽ ڪو نبي اچي ته اسان ان کي ضرور مڃينداسون ۽ ان جي اطاعت ڪنداسون، پر جڏهن سندن وچ ۾ هڪ پيغمبر ﷺ آيو ته اهي ان جا مخالف بڻجي ويا. اها نفسيات ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ سيني ماڻهن ۾ هوندي آهي، هن دنيا ۾ هر ماڻهو جو اهو حال

آهي ته هو خود کي حق پسند جي روپ ۾ ظاهر ڪندو آهي، هو چوندو آهي ته جڏهن به ڪا صحيح ڳالهه ان جي سامهون ايندي ته هو ضرور ان کي مڃي وٺندو. پر جڏهن حق پڌرن دليلن سان ايندو آهي ته هو ان کي نظرانداز ڪري ڇڏيندو آهي، ايستائين جو ان جو مخالف بڻجي ويندو آهي.

ان جو سبب اهو آهي ته حق جو انڪار ڪنهن خاص قوم جي خاصيت نه آهي، اها انساني نفسيات جي هڪ عام خاصيت آهي. حق کي مڃڻ اڪثر حالتن ۾ پنهنجي وڏائي کي ختم ڪرڻ جي هم معنيٰ هوندو آهي. ماڻهو پنهنجي وڏائي کي ڇڏڻ نه ٿو چاهي، ان ڪري اهو حق کي مڃڻ لاءِ تيار نه ٿو ٿئي. ان کان وسري ٿو وڃي ته حق جو انڪار ڪرڻ ته ان جي وس ۾ آهي، پر حق جي انڪار جي نتيجي کان خود کي بچائڻ هرگز ان جي وس ۾ نه آهي.

وَلَوْ يُؤَاخِذُ اللّٰهُ النَّاسَ بِمَا كَسَبُوْا مَا تَرَكَ عَلٰى ظَهْرِهَا مِنْ دَآبَّةٍ وَّلٰكِنْ يُّؤَخِّرُهُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ۚ فَاِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِعِبَادِهٖ بَصِيْرًا ﴿٤٥﴾

۽ جيڪڏهن الله ماڻهن کي سندن ڪرتوتن تي پڪڙي ها ته هو زمين تي هڪ به جاندار کي نه ڇڏي ها. پر هو انهن کي هڪ مقرر مدت تائين مهلت ڏي ٿو. پوءِ جڏهن سندن مدت پوري ٿي ويندي ته بيشڪ الله پنهنجن ٻانهن کي ڏسندڙ آهي. ٤٥

انسان کي دنيا ۾ عمل جي آزادي ڏني وئي آهي، پر هُن ان جو غلط استعمال ڪيو. اُهي غلطيون ايتريون گهٽيون آهن ته جيڪڏهن انسان کي ان جي ڪرتوتن تي فوراً پڪڙجي ته زمين تان انساني نسل جو خاتمو ٿي وڃي. انسان جي آزادي امتحان لاءِ آهي ۽ هن امتحان جي هڪ مدت مقرر آهي. هڪ فرد جي مدت موت تائين آهي ۽ سڄي انسانيت جي مدت قيامت تائين، تنهن ڪري انسان جي نسل اجا تائين زمين تي باقي آهي. جهڙي طرح اها هڪ حقيقت آهي ته الله تعاليٰ مقرر مهلت ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ ڪنهن کي نه ٿو پڪڙي، اهڙي طرح اها به هڪ سنگين حقيقت آهي ته مقرر مهلت جو وقت گذري وڃڻ کان پوءِ هو ضرور انسان کي پڪڙيندو. ڪو به ماڻهو ان جي پڪڙ کان بچي نه ٿو سگهي.

اٰياتها ٨٣ (٣٦) سُوْرَةُ يٰسۤ مَكِّيَّةٌ (٤١) رکوعاتها ٥

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

يٰسۤ ﴿١﴾ وَالْقُرْاٰنِ الْحَكِيْمِ ﴿٢﴾ اِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٣﴾ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٤﴾ تَنْزِيْلَ الْعَزِيْزِ الرَّحِيْمِ ﴿٥﴾ لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ اُنْذِرَ اٰبَآؤُهُمْ فَهُمْ غٰفِلُوْنَ ﴿٦﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

يٰسۤ. قسم آهي حڪمت واري قرآن جو بيشڪ تون رسولن مان آهين. نهايت سڌي واٽ تي. اهو (الله) غالب ۽ مهربان طرفان نازل ڪيل آهي، ته جيئن تون ماڻهن کي ڊيڄارين جن جي ابن ڏاڏن کي نه ڊيڄاريو ويو هو. تنهن ڪري اُهي بيخبر آهن. ١-٦

محمد عربي ﷺ جي الله جو پيغمبر هئڻ جو ثبوت خود قرآن حڪيم آهي. جنهن کي پاڻ ﷺ اهو چئي پيش ڪيو ته اهو مون تي الله طرفان نازل ٿيو آهي. قرآن جي حڪيم هئڻ جو مطلب اهو آهي ته اهو صراط مستقيم جو داعي آهي، يعني قرآن ان رستي ڏانهن رهنمائي ڪري رهيو آهي جيڪو بلڪل سڌو ۽ سچو آهي. ان جي ڪا ڳالھ عقل ۽ فطرت جي خلاف نه آهي. قرآن کي نازل ٿئي ڏيڍ هزار سال ٿي رهيا آهن، پر اڄ تائين ان ۾ عقل جي خلاف يا فطرت جي خلاف ڪنهن ڳالھ جي نشاندهي ڪو ماڻهو نه ڪري سگهيو آهي. قرآن جو اهوئي امتياز ان جي ڪتاب الاهي هئڻ جو سڀني کان وڏو دليل آهي.

”ته جيئن تون قوم کي ڊيڄارين“. قوم مان مراد بني اسماعيل آهن. هر نبي پهرين پنهنجي قوم لاءِ ايندو آهي. اهڙي طرح پيغمبر اسلام جا پهريان مخاطب به سندس پنهنجي قوم جا ماڻهو هئا. پر جاڪاڻ ته پاڻ ﷺ کان پوءِ نبوت ختم ٿي وئي، ان ڪري هاڻي قيامت تائين پاڻ ﷺ جي نبوت جو تسلسل جاري آهي. فرق اهو آهي ته بني اسماعيل تي پاڻ ﷺ سڌو سنئون حجت پوري ڪئي ۽ پاڻ ﷺ کان پوءِ مختلف قومن تي دعوت ۽ حجت پوري ڪرڻ جو ڪم پاڻ ﷺ جي نيابت ۾ پاڻ ﷺ جي امت کي انجام ڏيڻو آهي.

لَقَدْ حَقَّ الْقَوْلُ عَلٰۤى اَكْثَرِهِمْ فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ۝٧ اِنَّا جَعَلْنَا فِيْۤ اَعْنَاقِهِمْ اَغْلٰلًا فَهِيَ
اِلَى الْاَذْقَانِ فَهُمْ مُّقْمَحُوْنَ ۝٨ وَ جَعَلْنَا مِنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ سَدًّا وَّ مِنْ خَلْفِهِمْ سَدًّا
فَاَغْشَيْنٰهُمْ فَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ ۝٩ وَ سَوَآءٌ عَلَيْهِمْ ءَاَنْذَرْتَهُمْ اَمْ لَمْ تُنْذِرْهُمْ لَا
يُؤْمِنُوْنَ ۝١٠ اِنَّمَا تُنْذِرُ مَنِ اتَّبَعَ الذِّكْرَ وَ خَشِيَ الرَّحْمٰنَ بِالْغَيْبِ ۚ فَبَشِّرْهُ بِمَغْفِرَةٍ وَّ
اَجْرٍ كَرِيْمٍ ۝١١

بيشڪ انهن مان اڪثر ماڻهن تي ڳالھ ثابت ٿي چڪي آهي ته اهي ايمان نه آڻيندا. اسان سندن ڳچين ۾ ڳٽ وڌا آهن، سو اهي ڪاڏين تائين (پيل) آهن، تنهن ڪري سندن ڳاٽا مٿي ٽنگيل آهن ۽ اسان هڪ اوٽ سندن اڳيان ڪئي آهي ۽ هڪ اوٽ سندن پٺيان ڪئي آهي، پوءِ ڪين ڏيکيوسون تنهن ڪري ڪين ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي ۽ انهن لاءِ برابر آهي تون ڪين ڊيڄارين يا نه ڊيڄارين، اهي ايمان نه آڻيندا. تون رڳو ان ماڻهو کي ڊيڄاري ٿو سگهين جيڪو نصيحت تي هلي ۽ ٻاجهاري (الله) کان پرپٺ ڊڄي. پوءِ ان ماڻهو کي بخشش ۽ سڳوري اجر جي خوشخبري ڏئي ڇڏ. ٧-١١

---

ماڻهو جي ڳچي ۾ ڳٽ پيل هجي ته ان جو مٿو مٿي تي رهجي ويندو ۽ اُهو هيٺين شين کي نه ڏسي سگهندو. اها انهن تڪبر ڪندڙ ماڻهن جي تصوير آهي جيڪي پنهنجي وڏائي ۾ ايترا گم هجن جو پاڻ کان ٻاهر جي ڪا حقيقت انهن کي ڏسڻ ۾ ئي نٿي اچي. اهڙن ماڻهن کي ڪڏهن به حق جي اعتراف جي توفيق حاصل نه ٿي ٿئي.

هدايت حاصل ڪرڻ لاءِ سڀني کان وڏيڪ اهميت ان ڳالھ جي آهي ته ماڻهو جي اندر اعتراف جو مادو هجي. ان کي الله جي سامهون حاضري جو انديشو هجي. هو پوري صداقت کان گهٽ ڪنهن شيءِ تي راضي نه ٿي سگهي. اهي ئي اُهي ماڻهو آهن جيڪي حق جي ظاهر ٿيندي ئي ان ڏانهن ڊوڙي پوندا آهن ۽ ان جي نتيجي ۾ الله جو سڀني کان وڏو انعام حاصل ڪندا آهن.

اِنَّا نَحۡنُ نُحۡیِ الۡمَوۡتٰی وَ نَکۡتُبُ مَا قَدَّمُوۡا وَ اٰثَارَهُمۡ ؕ وَ کُلَّ شَیۡءٍ اَحۡصَیۡنٰهُ فِیۡۤ اِمَامٍ
مُّبِیۡنٍ ﴿۱۲﴾ وَ اضۡرِبۡ لَهُمۡ مَّثَلًا اَصۡحٰبَ الۡقَرۡیَةِ ۘ اِذۡ جَآءَهَا الۡمُرۡسَلُوۡنَ ﴿ۚ۱۳﴾

بيشڪ اسان مئلن کي زنده ڪنداسون ۽ اسان لکي رهيا آهيون جيڪو انهن اڳي موڪليو ۽ جيڪو انهن پوئتي ڇڏيو ۽ هر شيءِ اسان هڪ پڌري ڪتاب ۾ درج ڪئي آهي. ۽ انهن کي ڳوٺ وارن جو قصو بيان ڪر، جڏهن وٽن رسول آيا. ١٢-١٣

---

جديد تحقيق ٻڌائي ٿي تہ انسان پنهنجي وات مان جيڪو آواز ڪڍي ٿو، اُهو نفش جي صورت ۾ فضا ۾ محفوظ ٿي ويندو آهي. اهڙي طرح انسان جيڪو بہ عمل ڪندو آهي ان جو عڪس بہ قدرتي (حرارت) لهرن جي شڪل ۾ مستقل طور تي دنيا ۾ موجود رهندو آهي، جڻ تہ هِن دنيا ۾ هر ماڻهو جي وڏي ريڪارڊنگ ٿي رهي آهي. اهو تجربو ٻڌائي ٿو تہ هن دنيا ۾ اهو ممڪن آهي تہ انسان جي علم کان سواءِ ان جي مرضي کان سواءِ ان جو قول ۽ عمل مڪمل طور تي محفوظ ڪيو وڃي ۽ ڪنهن بہ وقت ان کي دهرائي سگهجي.

اِذۡ اَرۡسَلۡنَاۤ اِلَیۡهِمُ اثۡنَیۡنِ فَکَذَّبُوۡهُمَا فَعَزَّزۡنَا بِثَالِثٍ فَقَالُوۡۤا اِنَّاۤ اِلَیۡکُمۡ مُّرۡسَلُوۡنَ ﴿۱۴﴾
قَالُوۡا مَاۤ اَنۡتُمۡ اِلَّا بَشَرٌ مِّثۡلُنَا ۙ وَ مَاۤ اَنۡزَلَ الرَّحۡمٰنُ مِنۡ شَیۡءٍ ۙ اِنۡ اَنۡتُمۡ اِلَّا
تَکۡذِبُوۡنَ ﴿۱۵﴾ قَالُوۡا رَبُّنَا یَعۡلَمُ اِنَّاۤ اِلَیۡکُمۡ لَمُرۡسَلُوۡنَ ﴿۱۶﴾ وَ مَا عَلَیۡنَاۤ اِلَّا الۡبَلٰغُ الۡمُبِیۡنُ ﴿۱۷﴾
قَالُوۡۤا اِنَّا تَطَیَّرۡنَا بِکُمۡ ۚ لَئِنۡ لَّمۡ تَنۡتَهُوۡا لَنَرۡجُمَنَّکُمۡ وَ لَیَمَسَّنَّکُمۡ مِّنَّا عَذَابٌ اَلِیۡمٌ ﴿۱۸﴾
قَالُوۡا طَآئِرُکُمۡ مَّعَکُمۡ ؕ اَئِنۡ ذُکِّرۡتُمۡ ؕ بَلۡ اَنۡتُمۡ قَوۡمٌ مُّسۡرِفُوۡنَ ﴿۱۹﴾

جڏهن اسان انهن وٽ ٻہ رسول موڪليا تہ انهن ٻنهي کي ڪوڙو ڀانئيو. پوءِ اسان ٽئين سان (سندن) پٺڀرائي ڪئي. انهن چيو تہ اسان توهان وٽ موڪليل آهيون، ماڻهن چيو اوهان تہ اسان ئي جهڙا بشر آهيو ۽ رحمان ڪا شيءِ نازل نہ ڪئي آهي. توهان رڳو ڪوڙ ٿا ڳالهايو. انهن چيو تہ اسان جو رب ڄاڻي ٿو تہ بيشڪ اسان توهان ڏانهن موڪليل آهيون ۽ اسان تي پڌري پيغام پهچائڻ کان سواءِ ڪا ذميواري نہ آهي. ماڻهن چيو تہ بيشڪ اسان اوهان (جي اچڻ) کي بدبختي سمجهون ٿا. جيڪڏهن اوهان باز نہ آيا تہ اسان اوهان کي سنگسار ڪنداسون ۽ اوهان کي اسان وٽان ڏکوئيندڙ عذاب پهچندو. انهن چيو توهان جي بدبختي توهان سان آهي. ڇا ايتري ڳالهہ جو توهان کي نصيحت ڪئي وئي بلڪ توهان حد کان لنگهيل قوم آهيو. ١٤-١٩

---

وسندي مان مراد شايد مصر جو ڪو ڳوٺ آهي، اتي هڪ ئي وقت ٻہ پيغمبر (حضرت موسيٰ ۽ حضرت هارون) ماڻهن کي خبردار ڪرڻ لاءِ موڪليا ويا هئا. پر انهن انڪار ڪيو، پوءِ سندن پنهنجي قوم مان ٽيون شخص اٿيو ۽ ان ٻنهي رسولن جي تائيد ڪئي. ان ٽئين ماڻهو مان مراد شايد اهوئي رجل مؤمن آهي جنهن جو ذڪر قرآن جي سورة مؤمن ۾ تفصيل سان آيو آهي.

هر زماني ۾ ماڻهو جي لاءِ سيني ڪان وڌيڪ ڏکي شيءِ اها رهي آهي جو ان کي اهڙي نصيحت ڪئي وڃي جيڪا ان جي مزاج جي خلاف هجي. اهڙي ڳالهه ٻڌي ماڻهو فوراً بگڙي ٿو وڃي. پوءِ نتيجو اهو ٿيندو آهي جو هو اعتدال واري ذهن سان سوچي نه ٿو سگهي. هو نصيحت کي دليل جي لحاظ کان نه ٿو جانچي، بلڪ ضد ۽ نفرت جي تحت ان جي خلاف اجايون ڳالهيون ڪرڻ لڳندو آهي. ڪنهن ڳالهه کي دليل سان جانچڻ حد ۾ رهڻ آهي ۽ بي دليل مخالفت ڪرڻ حد کان لنگهي وڃڻ آهي.

وَ جَآءَ مِنْ اَقْصَا الْمَدِيْنَةِ رَجُلٌ يَّسْعٰى قَالَ يٰقَوْمِ اتَّبِعُوا الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٢٠﴾ اتَّبِعُوْا مَنْ لَّا يَسْـَٔلُكُمْ اَجْرًا وَّ هُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿٢١﴾

۽ شهر جي پرين پاسي ڪان هڪ شخص ڊوڙندو آيو. هن چيو اي منهنجي قوم رسولن جي تابعداري ڪريو. انهن ماڻهن جي تابعداري ڪيو جيڪي توهان کان ڪو بدلو نٿا گهرن ۽ اهي سڌي واٽ تي آهن. ٢٠-٢١

---

ٻئي رسول ان وقت بظاهر بلڪل بي زور هئا، پر ٽئين ماڻهو خود کي انهن سان وابسته ڪيو. حق ۽ ناحق جي مقابلي ۾ ماڻهن کي حق جو ساٿ ڏيڻو پوي ٿو، چاهي اُهو طاقتور جي مقابلي ۾ ڪمزور جو ساٿ ڏيڻ جي هم معني ڇو نه هجي.

ٽئين ماڻهو قوم کي چيو ته اهي رسول توهان کان اجر نه ٿا گهرن ۽ اُهي هدايت وارا به آهن. ان مان معلوم ٿيو ته رڳو بي غرض هجڻ ماڻهو جي هدايت وارو هئڻ لاءِ ڪافي دليل نه آهي. بي غرض ۽ نيڪ نيت هئڻ جي باوجود ماڻهو جي ڳالهه دليل جي ميعار تي پرکي ويندي ۽ اُها ان وقت صحيح تسليم ڪئي ويندي، جڏهن ته اها دليل جي معيار تي پوري لهي.



وَ مَا لِيَ لَآ اَعْبُدُ الَّذِيْ فَطَرَنِيْ وَ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٢٢﴾ ءَاَتَّخِذُ مِنْ دُوْنِهٖۤ اٰلِهَةً اِنْ يُّرِدْنِ الرَّحْمٰنُ بِضُرٍّ لَّا تُغْنِ عَنِّيْ شَفَاعَتُهُمْ شَيْـًٔا وَّ لَا يُنْقِذُوْنِ ﴿٢٣﴾ اِنِّيْۤ اِذًا لَّفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٢٤﴾ اِنِّيْۤ اٰمَنْتُ بِرَبِّكُمْ فَاسْمَعُوْنِ ﴿٢٥﴾ قِيْلَ ادْخُلِ الْجَنَّةَ قَالَ يٰلَيْتَ قَوْمِيْ يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٦﴾ بِمَا غَفَرَ لِيْ رَبِّيْ وَ جَعَلَنِيْ مِنَ الْمُكْرَمِيْنَ ﴿٢٧﴾

۽ آئون ڇو نه عبادت ڪريان ان ذات جي جنهن مون کي پيدا ڪيو ۽ ان ئي ڏانهن توهان موٽايا ويندو. ڇا آئون ان کان سواءِ ٻيا معبود ٺاهيان. جيڪڏهن رحمان مون کي ڪا تڪليف پهچائڻ چاهي ته انهن جي سفارش منهنجي ڪجهه ڪم نه ايندي ۽ نه اُهي مون کي ڇڏرائي سگهندا، بيشڪ آئون تنهن مهل پڌري گمراهي ۾ هوندس. مون توهان جي رب تي ايمان آندو، پوءِ توهان به منهنجي ڳالهه ٻڌي وٺو. چيو ويس ته جنت ۾ داخل ٿي وڃ. اُن چيو ڪاش منهنجي قوم ڄاڻي ها ته منهنجي رب مون کي بخشي ڇڏيو ۽ مون کي عزت وارن ۾ شامل ڪري ڇڏيو. ٢٢-٢٧

---

مؤمن مرد پنهنجي زندگي خطري ۾ وجهي پيغمبرن جي دعوت جي تائيد ڪئي. ان جو اهو عمل ايترو قيمتي هو جو ان کان پوءِ ان کي جنت ۾ داخل ڪيو ويو، جنت ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ هو

پنهنجي ظالم قوم کي برو نه ٿو چوي، بلڪ اها تمنا ڪندو آهي ته ڪاش اُهي ماڻهو منهنجو انجام ڄاڻن ها ته پوءِ هو حق جا مخالف نه ٿين ها. اها سچي مؤمن جي تصوير آهي. مؤمن هرحال ۾ ماڻهن جو خيرخواه هوندو آهي، چاهي ماڻهو ان سان ڪيترو ئي ظالماڻو سلوڪ ڪن.

وقف غفران ١٢ وَ مَاۤ اَنْزَلْنَا عَلٰى قَوْمِهٖ مِنْۢ بَعْدِهٖ مِنْ جُنْدٍ مِّنَ السَّمَآءِ وَ مَا كُنَّا مُنْزِلِيْنَ ﴿٢٨﴾ اِنْ كَانَتْ
اِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً فَاِذَا هُمْ خٰمِدُوْنَ ﴿٢٩﴾ يٰحَسْرَةً عَلَى الْعِبَادِ ۚ مَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ
اِلَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٣٠﴾ اَلَمْ يَرَوْا كَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنَ الْقُرُوْنِ اَنَّهُمْ اِلَيْهِمْ لَا
ع ٢ يَرْجِعُوْنَ ﴿٣١﴾ وَ اِنْ كُلٌّ لَّمَّا جَمِيْعٌ لَّدَيْنَا مُحْضَرُوْنَ ﴿٣٢﴾

۽ ان ڪان پوءِ سندس قوم تي اسان آسمان تان ڪو لشڪر نه لاٿو سون ۽ نه اسان (لشڪر) لاهيندڙ آهيون. رڳو هڪ رڙ هئي. پوءِ انهيءَ دم اُهي وسامي (مري) ويا. افسوس آهي ٻانهن تي جيڪو رسول به انهن وٽ آيو اهي ان جو مذاق ئي اڏائيندا رهيا. ڇا انهن نه ڏٺو ته اسان انهن کان اڳ ڪيترن ئي قومن کي ناس ڪيوسون (جو) اهي انهن ڏانهن موٽي نه ٿا اچن ۽ جيڪي به آهن سي سڀ اسان وٽ حاضر ڪبا. ٢٨-٣٢

---

الله تعاليٰ وٽ جڏهن ڪنهن قوم کي ناس ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويندو آهي ته رڳو ايترو ئي ڪافي ٿي ويندو آهي جو زمين جي سببن کي ان جي خلاف ڪري ڇڏجي، سيني آسماني طاقتن کي ان جي خلاف استعمال ڪرڻ جي ضرورت پيش نه ٿي اچي.

پيغمبرن جو مذاق ڇو اڏايو ويو، ان جو جواب خود لفظ ”استهزاءَ“ (مذاق) ۾ موجود آهي. مذاق اڏائڻ وارا هيشہ اُن انسان جو مذاق اڏائيندا آهن جيڪو انهن کي حقير ڏسڻ ۾ اچي. پيغمبرن سان اهوئي معاملو پيش آيو. پيغمبر جي شخصيت کي سندس زماني جي ماڻهن ان کان گهٽ سمجهيو جو سندن زبان مان خدائي صداقت جو اعلان ٿئي. ان ڪري انهن پيغمبرن کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

وَ اٰيَةٌ لَّهُمُ الْاَرْضُ الْمَيْتَةُ ۚۖ اَحْيَيْنٰهَا وَ اَخْرَجْنَا مِنْهَا حَبًّا فَمِنْهُ يَاْكُلُوْنَ ﴿٣٣﴾ وَ جَعَلْنَا
فِيْهَا جَنّٰتٍ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّ اَعْنَابٍ وَّ فَجَّرْنَا فِيْهَا مِنَ الْعُيُوْنِ ﴿٣٤﴾ لِيَاْكُلُوْا مِنْ ثَمَرِهٖ ۙ وَ مَا
عَمِلَتْهُ اَيْدِيْهِمْ ؕ اَفَلَا يَشْكُرُوْنَ ﴿٣٥﴾ سُبْحٰنَ الَّذِيْ خَلَقَ الْاَزْوَاجَ كُلَّهَا مِمَّا تُنْۢبِتُ
الْاَرْضُ وَ مِنْ اَنْفُسِهِمْ وَ مِمَّا لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٦﴾

۽ هڪ نشاني انهن لاءِ مئل زمين آهي. ان کي اسان زنده ڪيو ۽ ان مان اسان (اَن جا) داڻا ڪڍياسون. پوءِ اهي ان مان کائيندا آهن ۽ ان ۾ اسان کجين جا ۽ انگورن جا باغ پيدا ڪيا ۽ انهن ۾ چشما جاري ڪيا. ته جيئن ماڻهو ان جا ميوا کائن ۽ انهن کي سندن هٿن نه ٺاهيو آهي. پوءِ ڇا اُهي شڪر نٿا ڪن. پاڪ آهي اها ذات جنهن سيني شين جا جوڙا ٺاهيا. انهن جا به جيڪي زمين جي پيداوار آهن ۽ خود سندن (انسانن) ۾ به ۽ انهن ۾ به جن کي اهي نه ٿا ڄاڻن. ٣٣-٣٦

---

زمين تي زرخيز مٽي جو هجڻ ان جي لاءِ پاڻي، اُس ۽ هوا جو انتظام. پوءِ ٻج جي اندر نشونما جي صلاحيت اهڙي قسم جا بيشمار معلوم ۽ نامعلوم سبب آهن جيڪي ملي ڪري آخرڪار ان ۽ ميون ۽ سبزين جي صورت اختيار ڪري انسان جي خوراڪ بڻبا آهن. اهو سڄو نظام انسان جي ٺاهڻ بنا بڻيو آهي. ان ڪي وجود ۾ آڻڻ ۽ قائم رکڻ سراسر خدا جي رحمت سان ٿيندو آهي. جيڪڏهن انسان ان تي غور ڪري ته هو شڪر جي جذبي ڪان ڀرجي وڃي.

پوءِ ساڳئي نظام ۾ هڪ عظيم حقيقت جي نشاني به موجود آهي. مطالعو ٻڌائي ٿو ته دنيا جي سيني شين ۾ جوڙو جوڙو هجڻ جو اصول آهي. پوءِ جڏهن ڪائنات جو نظام ان اصول تي قائم آهي جو هتي سيئي شيون پنهنجي جوڙي سان ملي پنهنجي تڪميل ڪن، ته پوءِ موجوده دنيا جو به هڪ جوڙو هئڻ گهرجي، جنهن جي ملڻ سان ان جي تڪميل ٿي سگهي. اهڙي طرح موجوده دنيا ۾ جوڙي جو نظام آخرت جي امڪان ڪي ثابت ڪري ٿو ڇڏي.

وَ اٰيَةٌ لَّهُمُ الَّيۡلُ ۚۖ نَسۡلَخُ مِنۡهُ النَّهَارَ فَاِذَا هُمۡ مُّظۡلِمُوۡنَ ﴿۳۷﴾ وَ الشَّمۡسُ تَجۡرِیۡ لِمُسۡتَقَرٍّ لَّهَا ؕ ذٰلِكَ تَقۡدِيۡرُ الۡعَزِيۡزِ الۡعَلِيۡمِ ﴿۳۸﴾ وَ الۡقَمَرَ قَدَّرۡنٰهُ مَنَازِلَ حَتّٰى عَادَ كَالۡعُرۡجُوۡنِ الۡقَدِيۡمِ ﴿۳۹﴾ لَا الشَّمۡسُ يَنۡۢبَغِیۡ لَهَاۤ اَنۡ تُدۡرِكَ الۡقَمَرَ وَ لَا الَّيۡلُ سَابِقُ النَّهَارِ ؕ وَ كُلٌّ فِیۡ فَلَكٍ يَّسۡبَحُوۡنَ ﴿۴۰﴾

۽ هڪ نشاني انهن لاءِ رات آهي. اسان ان مان ڏينهن کي ڇڪي ڪيندا آهيون ته اهي اونداهي ۾ رهجي ويندا آهن ۽ سج اهو پنهنجي مقرر ڪيل رستي تي هلندو رهي ٿو. اهو غالب ۽ عليم جو اندازو ٺهرايل آهي ۽ چنڊ جي لاءِ اسان منزلون مقرر ڪري ڇڏيون، تان جو اهو کجي جي پراڻي ٽاريءَ وانگر ٿي پوي ٿو. نه سج جي وس ۾ آهي جو هو چنڊ کي پهچي ۽ نه رات ڏينهن کان اڳ ۾ اچي سگهي ٿي ۽ سڀ آسمان ۾ هڪ هڪ دائري ۾ تري رهيا آهن. ٣٧-٤٠

---

زمين ۽ چنڊ ۽ سج سيني جو هڪ مقرر دائرو آهي. سيئي پنهنجي پنهنجي دائري ۾ بلڪل صحيح طور تي گهمي رهيا آهن. ان گردش سان زمين تي رات ۽ ڏينهن پيدا ٿيندا آهن. چنڊ جي گهٽجڻ ۽ وڌڻ جي فلڪياتي ڪئلينڊر جو ڪم ڪندو آهي وغيره. اهو نظام ڪروڙن سالن کان قائم آهي ۽ پوءِ به ان ۾ ڪنهن قسم جو ڪو خلل پيدا نه ٿيو آهي.

اهو مشاهدو الله جي لامحدود قدرت جو هڪ تعارف آهي. جيڪڏهن ماڻهو ان مان سبق وٺي ته الله جي عظمت ان جي ذهن تي اهڙي طرح ڇانئجي وڃي جو ٻيون سيئي عظمتون خودبخود ان جي ذهن مان ختم ٿي وڃن.

وَ اٰيَةٌ لَّهُمۡ اَنَّا حَمَلۡنَا ذُرِّيَّتَهُمۡ فِی الۡفُلۡكِ الۡمَشۡحُوۡنِ ﴿۴۱﴾ وَ خَلَقۡنَا لَهُمۡ مِّنۡ مِّثۡلِهٖ مَا يَرۡكَبُوۡنَ ﴿۴۲﴾ وَ اِنۡ نَّشَاۡ نُغۡرِقۡهُمۡ فَلَا صَرِيۡخَ لَهُمۡ وَ لَا هُمۡ يُنۡقَذُوۡنَ ﴿۴۳﴾ اِلَّا رَحۡمَةً مِّنَّا وَ مَتَاعًا اِلٰى حِيۡنٍ ﴿۴۴﴾

۽ هڪ نشاني انهن لاءِ اِها آهي تہ اسان سندن نسل کي ڀريل ٻيڙي ۾ سوار ڪيو ۽ اسان انهن لاءِ (ٻيڙي) جهڙيون ٻيون شيون پيدا ڪيون، جن تي اهي سواري ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن اسان چاهيون تہ ڪين ٻوڙي ڇڏيون، پوءِ نہ سندن لاءِ ڪو فرياد ٻڌڻ وارو هوندو ۽ نہ اهي ڇڏايا ويندا. پر اها اسان جي رحمت آهي ۽ (انهن کي) هڪ مقرر وقت تائين فائدو پهچائڻ آهي. ٤١-٤٤

---

اسان جي دنيا ۾ بر بہ آهي ۽ بحر بہ. ۽ اسان جي مٿان وسيع فضا بہ آهي الله هن دنيا ۾ اهڙا سبب رکيا آهن جو ماڻهو ٽنهي مان ڪنهن بہ حصي ۾ سفر ڪرڻ کان عاجز نہ آهي اهو بر ۽ بحر ۽ فضا ۾ آساني سان سفر ڪري سگهي ٿو.

اهي سيئي سفر الله جي انتظامن جي ڪري ممڪن ٿي سگهيا. اهي انسان لاءِ ايڏي وڏي رحمت آهن جو انسان جيڪڏهن انهن تي غور ڪري تہ اهو خود کي الله جي اڳيان جهڪائي ڇڏي ۽ ڪڏهن بہ سرڪشي جو طريقو اختيار نہ ڪري.

وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمُ اتَّقُوْا مَا بَيْنَ اَيْدِيْكُمْ وَ مَا خَلْفَكُمْ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ۝٤٥ وَ مَا تَاْتِيْهِمْ
مِّنْ اٰيَةٍ مِّنْ اٰيٰتِ رَبِّهِمْ اِلَّا كَانُوْا عَنْهَا مُعْرِضِيْنَ۝٤٦ وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمْ اَنْفِقُوْا مِمَّا
رَزَقَكُمُ اللّٰهُ ۙ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَنُطْعِمُ مَنْ لَّوْ يَشَآءُ اللّٰهُ اَطْعَمَهٗۤ ۖ اِنْ
اَنْتُمْ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ۝٤٧

۽ جڏهن انهن کي چيو ويندو آهي تہ ان کان ڊڄو جيڪو توهان جي اڳيان آهي ۽ جيڪو توهان جي پٺيان آهي تہ جيئن توهان تي رحم ڪجي ۽ سندن رب جي نشانين مان ڪا نشاني بہ انهن وٽ اهڙي نہ ٿي اچي جنهن کان اهي منهن نہ موڙين، ۽ جڏهن انهن کي چيو ويندو آهي تہ الله جيڪو رزق توهان کي ڏنو آهي ان مان خرچ ڪريو تہ جن ماڻهن انڪار ڪيو اهي مؤمنن کي چوندا آهن ڇا اسان اهڙن ماڻهن کي ڪارايون جن کي جيڪڏهن الله چاهي ها تہ هو انهن کي ڪارائي ها توهان رڳو پڌري گمراهي ۾ آهيو. ٤٥-٤٧

---

ماڻهو جي پٺيان سندس عمل آهن ۽ ان جي اڳيان حساب ڪتاب جو ڏينهن. زندگي جڻ تہ عمل جي دنيا کان انجام جي دنيا ڏانهن سفر آهي، اها انتهائي نازڪ صورتحال آهي جيڪڏهن ماڻهو کي ان جو احساس هجي تہ هو ڏڪي وڃي، پر ماڻهو نہ غور ڪري ٿو ۽ نہ ڪا نشاني سندس اک کولڻ واري ثابت ٿئي ٿي. هو ڪوڙن دليلن جي ذريعي پنهنجن عملن کي صحيح ثابت ڪندو رهي ٿو. ايستائين جو موت اچي وڃي.

وَ يَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ۝٤٨ مَا يَنْظُرُوْنَ اِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً
تَاْخُذُهُمْ وَ هُمْ يَخِصِّمُوْنَ۝٤٩ فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ تَوْصِيَةً وَّ لَاۤ اِلٰۤى اَهْلِهِمْ يَرْجِعُوْنَ۝٥٠ ع ۳/۱۸ وَ
نُفِخَ فِي الصُّوْرِ فَاِذَا هُمْ مِّنَ الْاَجْدَاثِ اِلٰى رَبِّهِمْ يَنْسِلُوْنَ۝٥١ قَالُوْا يٰوَيْلَنَا مَنْۢ بَعَثَنَا
مِنْ مَّرْقَدِنَا ۜ هٰذَا مَا وَعَدَ الرَّحْمٰنُ وَ صَدَقَ الْمُرْسَلُوْنَ۝٥٢ اِنْ كَانَتْ اِلَّا صَيْحَةً
وَّاحِدَةً فَاِذَا هُمْ جَمِيْعٌ لَّدَيْنَا مُحْضَرُوْنَ۝٥٣

وقف لازم / وقف منزل / وقف غفران

۽ اهي چوندا آهن ته اهو وعدو ڪڏهن (پورو) ٿيندو جيڪڏهن اوهين سچا آهيو. اهي ماڻهو رڳو هڪ سخت آواز جو انتظار ڪري رهيا آهن جيڪو ڪين اچي پڪڙيندو ۽ اهي جهڳڙو ڪري رهيا هوندا. پوءِ اهي نه ڪا وصيت ڪري سگهندا ۽ نه پنهنجن ماڻهن ڏانهن موٽي سگهندا ۽ صور ۾ ڦوڪبو ته يڪدم اهي قبرن مان پنهنجي رب ڏانهن ڊوڙندا. هو چوندا ته اسان لاءِ ويل آهي، اسان کي اسان جي قبرن مان ڪنهن اٿاريو. اِهو اُهو ئي آهي جنهن جو رحمان واعدو ڪيو هو ۽ پيغمبرن سچ چيو هو. اها رڳو هڪ سخت رڙ هوندي، پوءِ يڪدم سڀ گڏجي اسان وٽ حاضر ڪيا ويندا. ٤٨-٥٣

---

جيڪي ماڻهو آخرت تي يقين نه ٿا رکن، اهي آخرت کان اهڙي طرح بي فڪر رهندا آهن ڄڻ آخرت ڪا تمام پري جي شيءِ آهي، انهن ۾ جيڪي ماڻهو وڏيڪ غيرسنجيده آهن. اهي ڪنهن مهل آخرت جو مذاق به اڏائڻ لڳندا آهن. اهڙي قسم جا ماڻهو پنهنجي ان ئي غفلت ۾ پيل هوندا، ايستائين جو قيامت اچي ويجي. قيامت انهن کي اچانڪ پڪڙي وٺندي ۽ اُهي ان جي خلاف ڪجهه به نه ڪري سگهندا.

حديث ۾ آهي ته اسرافيل صور کي پنهنجي وات ۾ رکي عرش ڏانهن ڏسي رهيو آهي ۽ ان ڳالهه جي انتظار ۾ آهي ته ڪڏهن حڪم ٿئي ۽ هو ان ۾ ڦوڪ هڻي. صور ۾ ڦوڪيو وڃڻ اهڙو ئي آهي جيئن امتحان جو وقت ختم ٿيڻ کان پوءِ گهنڊ وڄندو آهي. ان کان فوراً بعد دنيا جو نظام بدلجي ويندو. ان کان بعد انجام جو مرحلو شروع ٿيندو، جڏهن ته اڄ اسان عمل جي مرحلي مان گذري رهيا آهيون.

فَالْيَوْمَ لَا تُظْلَمُ نَفْسٌ شَيْـًٔا وَّ لَا تُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٥٤﴾ اِنَّ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ الْيَوْمَ فِيْ شُغُلٍ فٰكِهُوْنَ ﴿٥٥﴾ هُمْ وَ اَزْوَاجُهُمْ فِيْ ظِلٰلٍ عَلَى الْاَرَآئِكِ مُتَّكِـُٔوْنَ ﴿٥٦﴾ لَهُمْ فِيْهَا فَاكِهَةٌ وَّ لَهُمْ مَّا يَدَّعُوْنَ ﴿٥٧﴾ سَلٰمٌ قَوْلًا مِّنْ رَّبٍّ رَّحِيْمٍ ﴿٥٨﴾

پوءِ اڄ ڪنهن ماڻهو تي ڪو ظلم نه ٿيندو ۽ توهان کي اُهو ئي بدلو ملندو جيڪو توهان ڪندا هئا. بيشڪ جنت وارا اڄ پنهنجن شغلن ۾ خوش هوندا. اهي ۽ سندن زالون ڇانو ۾ تخت تي ٽيڪ ڏئي ويٺا هوندا. سندن لاءِ اتي ميوا ۽ انهن لاءِ اهو سڀ ڪجهه هوندو جيڪو هو گهرندا ۽ ڪين مهربان رب طرفان سلام چيو ويندو. ٥٤-٥٨

---

موجوده دنيا ۾ ماڻهو جي عمل جا حقيقي نتيجا سامهون نه ايندا آهن. آخرت اها جاءِ آهي جتي هر ماڻهو پنهنجي عمل جا حقيقي نتيجا ڏسندو، جيڪو ماڻهو دنيا ۾ صرف وقتي مفادن لاءِ سرگرم ۽ ڪوشش ڪندو رهيو، اهو آخرت جي ابدي دنيا ۾ اهڙي طرح اٿندو جو اتي هو بلڪل خالي هٿ هوندو، ان جي ابتڙ جيڪي ماڻهو بلند مقصد لاءِ زنده رهيا. اهي اتي شاندار انجام ۾ خوش ٿي رهيا هوندا ۽ الله تعاليٰ جي خاص عنايت ان کان علاوه هوندي.

وقف غفران ١٢
وَ امْتَازُوا الْيَوْمَ اَيُّهَا الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٥٩﴾ اَلَمْ اَعْهَدْ اِلَيْكُمْ يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ اَنْ لَّا تَعْبُدُوا الشَّيْطٰنَ ۚ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿٦٠﴾ وَّ اَنِ اعْبُدُوْنِيْ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿٦١﴾ وَ لَقَدْ اَضَلَّ مِنْكُمْ جِبِلًّا كَثِيْرًا ؕ اَفَلَمْ تَكُوْنُوْا تَعْقِلُوْنَ ﴿٦٢﴾ هٰذِهٖ جَهَنَّمُ الَّتِيْ كُنْتُمْ

تُوْعَدُوْنَ﴿۶۳﴾ اِصْلَوْهَا الْيَوْمَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ﴿۶۴﴾ اَلْيَوْمَ نَخْتِمُ عَلٰٓى اَفْوَاهِهِمْ وَ
تُكَلِّمُنَآ اَيْدِيْهِمْ وَتَشْهَدُ اَرْجُلُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ﴿۶۵﴾

اي مجرمو! اڄ توهان الڳ ٿي وڃو. اي آدم جا اولاد ڇا مون توهان کي تاڪيد نه ڪئي هئي ته توهان شيطان جي عبادت نه ڪجو. بيشڪ اهو توهان جو پڌرو دشمن آهي ۽ اهو ته توهان منهنجي ئي عبادت ڪجو. اهوئي سڌو رستو آهي ۽ بيشڪ (شيطان) توهان مان گهڻي خلق کي گمراهه ڪيو. پوءِ ڇا توهان سمجهندا نه هئا. هي جهنم آهي جنهن جو توهان سان و عدو ڪيو ويو هو. اڄ پنهنجي ڪفر جي بدلي ان ۾ داخل ٿي وڃو. اڄ اسان سندن واتن تي مهر هڻنداسون ۽ سندن هٿ اسان سان ڳالهائيندا ۽ سندن پير گواهي ڏيندا، جيڪو ڪجهه اهي ماڻهو ڪندا هئا. ٥٩-٦٥

---

موجوده زندگي ۾ سٺا ۽ برا ماڻهو هڪ ئي دنيا ۾ رهن ٿا. اڳيان اچڻ واري زندگي ۾ ٻنهي جون دنيائون جدا جدا ڪيون وينديون، شيطان جا پانها شيطان سان گڏ ۽ رحمان جا پانها رحمان سان.

ڪو ماڻهو شيطان جي نالي تي شيطان جي عبادت نه ٿو ڪري، پر بلاواسطه طورتي الله کان سواءِ هر ٻي شيءِ جو پرستار اصل ۾ شيطان جو پرستار آهي، ڇاڪاڻ ته اهو ماڻهو شيطان جي خوشنما ڪري ڏيکارڻ واري عمل تحت ايئن ڪري رهيو آهي. مثلاً فرشتن ۽ بزرگن جي پرستش اهڙي طرح شروع ٿي جو شيطان انهن جي باري ۾ ڪوڙا عقيده ماڻهن جي ذهن ۾ وڌا ۽ ماڻهو شيطاني ترغيبن کان متاثر ٿي انهن جي پرستش ڪرڻ لڳا.

جديد تحقيق مان اهو ثابت ٿيو آهي ته انسان جي چمڙي هڪ قسم جو ريڪارڊ آهي، جنهن تي ماڻهن جو آواز اهڙي طرح ٽيپ ٿي ويندو آهي جو ان کي دهرائي سگهجي ٿو يا ٻڌي سگهجي ٿو. اها هڪ نشاني آهي جيڪا ان ڳالهه کي قابل فهم بڻائي رهي آهي ته ڪهڙي طرح آخرت ۾ ماڻهن جا هٿ ۽ پير ماڻهو جو احوال ٻڌائڻ لڳندا.

وَ لَوْ نَشَآءُ لَطَمَسْنَا عَلٰٓى اَعْيُنِهِمْ فَاسْتَبَقُوا الصِّرَاطَ فَاَنّٰى يُبْصِرُوْنَ﴿۶۶﴾ وَ لَوْ نَشَآءُ
ع لَمَسَخْنٰهُمْ عَلٰى مَكَانَتِهِمْ فَمَا اسْتَطَاعُوْا مُضِيًّا وَّ لَا يَرْجِعُوْنَ﴿۶۷﴾ وَ مَنْ نُّعَمِّرْهُ نُنَكِّسْهُ
فِى الْخَلْقِ ؕ اَفَلَا يَعْقِلُوْنَ﴿۶۸﴾

۽ جيڪڏهن اسان چاهيون ها ته سندن اکين کي ناس ڪريون ها، پوءِ اهي واٽ ڏانهن ڊوڙن ها ته ڪٿان ڏسن ها ۽ جيڪڏهن چاهيون ها ته سندن جاين تي ئي سندن صورتون بدلجي ڇڏيون ها. پوءِ نه اهي اڳتي هلي سگهن ۽ نه پوئتي موٽي سگهن ۽ اسان جنهن جي ڄمار ڊگهي ڪندا آهيون، تنهن کي بناوت ۾ پوئتي موٽائيندا آهيون ته ڇا اهي سمجهن نه ٿا. ٦٦-٦٨

---

انسان کي اکيون ۽ هٿ ۽ پير ۽ ٻيون صلاحيتون حاصل آهن، جنهن ڪري اهو سرڪش بڻجي ويندو آهي. حالانڪ جيڪڏهن هو سوچي ته اها حقيقت ان جي نصيحت لاءِ ڪافي ٿي وڃي جو اهي سڀ صلاحيتون ان جون پنهنجون ناهيل نه آهن، بلڪ خالق جي ڏيڻ جي ڪري ان کي مليون آهن ۽ جڏهن ڏيڻ

وارو ڪو ٻيو هجي تہ ان جهڙي طرح ڏنو آهي، اهڙي طرح هو ان کي واپس وٺي سگهي ٿو.

وڏيڪ اهو تہ پيدائش جي صورت ۾ اهي صلاحيتون واپس وٺڻ جي هڪ جهلڪ عملي طور تي بہ ماڻهن کي ڏيکاري پئي وڃي، ماڻهو جڏهن وڏيڪ پوڙهو ٿيندو آهي تہ ان جون سڀئي طاقتون کسجي ويندبون آهن، ايستائين جو هو ٻيهر اهڙو ئي ڪمزور ۽ محتاج ٿي ويندو آهي، جهڙو هو ان وقت هو جڏهن تہ اهو هڪ ننڍو ٻار هو. پر انسان ايترو نادان آهي جو ان جي باوجود هو ڪو سبق نہ ٿو وٺي.

وَ مَا عَلَّمْنٰهُ الشِّعْرَ وَ مَا يَنْۢبَغِيْ لَهٗ ؕ اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ وَّ قُرْاٰنٌ مُّبِيْنٌ ۙ﴿۶۹﴾ لِّيُنْذِرَ مَنْ كَانَ حَيًّا وَّ يَحِقَّ الْقَوْلُ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿۷۰﴾

۽ اسان ان (پيغمبر) کي نہ شعر سيکاريو ۽ نہ اهو ان جي (شعر) لائق آهي. اها تہ صرف هڪ نصيحت آهي ۽ واضح قرآن آهي، تہ جيئن هو ان شخص کي خبردار ڪري جيڪو زنده (سمجهہ وارو) هجي ۽ انڪار ڪرڻ وارن تي حجت قائم ٿي وڃي. ٦٩-٧٠

---

قرآن جو معجزاتو اسلوب پڙهڻ وارن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندو هو. تنهن ڪري مخالفن ماڻهن جي تاثر کي گهٽائڻ لاءِ اهو چوڻ شروع ڪيو ويو تہ اهو هڪ شاعراڻو ڪلام آهي، نہ وري خدائي ڪلام.

پر اها سراسر بي بنياد ڳالهہ آهي. قرآن جا مضمون انتهائي حدتائين سنجيده آهن. ان ۾ غيب جي حقيقتن جو بي مثال انڪشاف آهي، ان ۾ حق جي معرفت جي اعليٰ ترين تعليم آهي. اُن ۾ شروع کان آخر تائين خيالن جو جيڪو نادر اتحاد آهي. ان ۾ الله جي خدائي جون ناقابل بيان جهلڪيون آهن. اهي سڀئي يقيني طور تي اشارو ڪري رهيون آهن تہ قرآن ان کان مٿانهون ڪلام آهي جو ان کي انساني شاعري چئي سگهجي.

پر حقيقت کي هميشہ زنده ماڻهو سمجهندا آهن. اهڙي طرح قرآن جي صداقت بہ صرف زنده انسان کي نظر ايندي ۽ مرده انسان ان کي ڏسڻ وارا نہ ٿا بڻجي سگهن.

اَوَ لَمْ يَرَوْا اَنَّا خَلَقْنَا لَهُمْ مِّمَّا عَمِلَتْ اَيْدِيْنَاۤ اَنْعَامًا فَهُمْ لَهَا مٰلِكُوْنَ ﴿۷۱﴾ وَ ذَلَّلْنٰهَا لَهُمْ فَمِنْهَا رَكُوْبُهُمْ وَ مِنْهَا يَاْكُلُوْنَ ﴿۷۲﴾ وَ لَهُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ وَ مَشَارِبُ ؕ اَفَلَا يَشْكُرُوْنَ ﴿۷۳﴾ وَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اٰلِهَةً لَّعَلَّهُمْ يُنْصَرُوْنَ ؕ﴿۷۴﴾ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ نَصْرَهُمْ ۙ وَ هُمْ لَهُمْ جُنْدٌ مُّحْضَرُوْنَ ﴿۷۵﴾ فَلَا يَحْزُنْكَ قَوْلُهُمْ ۘ اِنَّا نَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَ مَا يُعْلِنُوْنَ ﴿۷۶﴾ ربع

ڇا انهن نہ ڏٺو تہ اسان جن شين کي پنهنجن هٿن سان بڻايو آهي، انهن مان سندن لاءِ ڍور پيدا ڪيا. پوءِ اهي انهن جا مالڪ آهن ۽ اسان انهن (ڍورن) کي سندن تابع ڪيو. پوءِ انهن مان ڪو سندن سواري آهي ۽ ڪنهن کي اهي کائيندا آهن ۽ انهن ۾ سندن لاءِ فائدا آهن ۽ پيئڻ جون شيون (کير) بہ. پوءِ اهي ڇو نہ شڪر ڪندا آهن ۽ انهن الله کان سواءِ ٻيا معبود ڪري ورتا آهن تہ شايد سندن مدد ڪئي وڃي. اهي سندن مدد نہ ڪري سگهندا ۽ اُهي (بت) سندن لشڪر بڻائي حاضر ڪيا ويندا. پوءِ سندن ڳالهيون توکي غمگين نہ ڪن، اسان ڄاڻون ٿا جيڪو ڪجهہ هو لڪائين ٿا ۽ جيڪو ڪجهہ اهي ظاهر ڪن ٿا. ٧١-٧٦

---

ڀور هڪ قسم جي زنده علامت آهي، جيڪي ٻڌائين ٿا ته مادي دنيا کي ان جي بڻائڻ واري اهڙي طرح بڻايو آهي جو انسان ان کي پنهنجي تابع ڪري ان کي استعمال ڪري سگهي. مادي دنيا جي ان ئي صلاحيت جي ڪري انساني تهذيب جي پوري عمارت قائم آهي، جيڪڏهن گهوڙي ۽ ڏڳي ۾ به اهوئي وحشياڻو مزاج هجي، جيڪو ريڇ ۽ بگهڙ ۾ هوندو آهي يا لوهه ۽ پيٽرول ان وانگر انسان جي قابو کان ٻاهر هجن جهڙي طرح زمين جي اندر آتش فشان مادو انسان جي قابو کان ٻاهر آهي ته انساني تهذيب جو ترقي ڪرڻ ناممڪن ٿي وڃي.

جنهن خالق اهي عظيم احسان ڪيا آهن، پوءِ انسان کي گهرجي ته هو ان جو ئي شڪر ڪري ۽ ان ئي جي عبادت ڪري. پر انسان ٻين کي پنهنجو معبود بڻائي ٿو ۽ جڏهن ان کي نصيحت ڪئي وڃي ته هو ان تي ڌيان نه ٿو ڏي. اها بيشڪ سڀني کان وڏي سرڪشي آهي، جنهن جي انجام کان بچڻ ڪنهن جي لاءِ به ممڪن نه آهي.

اَوَ لَمۡ يَرَ الۡاِنۡسَانُ اَنَّا خَلَقۡنٰهُ مِنۡ نُّطۡفَةٍ فَاِذَا هُوَ خَصِيۡمٌ مُّبِيۡنٌ ﴿۷۷﴾ وَ ضَرَبَ لَنَا مَثَلًا وَّ
نَسِيَ خَلۡقَهٗ ؕ قَالَ مَنۡ يُّحۡيِ الۡعِظَامَ وَ هِيَ رَمِيۡمٌ ﴿۷۸﴾ قُلۡ يُحۡيِيۡهَا الَّذِيۡۤ اَنۡشَاَهَاۤ اَوَّلَ مَرَّةٍ ؕ
وَ هُوَ بِكُلِّ خَلۡقٍ عَلِيۡمُ ۙ﴿۷۹﴾ الَّذِيۡ جَعَلَ لَكُمۡ مِّنَ الشَّجَرِ الۡاَخۡضَرِ نَارًا فَاِذَاۤ اَنۡتُمۡ مِّنۡهُ
تُوۡقِدُوۡنَ ﴿۸۰﴾ اَوَ لَيۡسَ الَّذِيۡ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ بِقٰدِرٍ عَلٰۤى اَنۡ يَّخۡلُقَ مِثۡلَهُمۡ ؕ وقف غفران ۱۲
بَلٰي ۗ وَ هُوَ الۡخَلّٰقُ الۡعَلِيۡمُ ﴿۸۱﴾ اِنَّمَاۤ اَمۡرُهٗۤ اِذَاۤ اَرَادَ شَيۡـًٔا اَنۡ يَّقُوۡلَ لَهٗ كُنۡ فَيَكُوۡنُ ﴿۸۲﴾
ع ١٦ فَسُبۡحٰنَ الَّذِيۡ بِيَدِهٖ مَلَكُوۡتُ كُلِّ شَيۡءٍ وَّ اِلَيۡهِ تُرۡجَعُوۡنَ ﴿۸۳﴾

ڇا انسان نه ڏٺو ته اسان ان کي هڪ نطفي مان پيدا ڪيو. پوءِ هو پڌرو جهڳڙالو بڻجي ويو ۽ هو اسان لاءِ مثال بيان ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجي پيدائش کي وساري وينو. هو چئي ٿو ته هڏن کي ڪير جيئاريندو جڏهن ته اهي ڳري سڙي ويا. چئو انهن کي اهو ئي زنده ڪندو جنهن انهن کي پهريون ڀيرو پيدا ڪيو ۽ اهو سڀ ڪنهن پيدائش کي ڄاڻندڙ آهي. اهوئي آهي جنهن توهان لاءِ سائي وڻ مان باهه پيدا ڪئي، پوءِ توهان ان سان باهه ٻاريندا آهيو. ڇا جنهن آسمان ۽ زمين کي پيدا ڪيو اهو ان تي قادر نه آهي جو انهن جهڙن کي پيدا ڪري. ها اهو قادر آهي ۽ اهو ئي اصل پيدا ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي. اهو سندس امر آهي جو جڏهن هو ڪنهن شيءِ جو ارادو ڪندو آهي ته چوندو آهي ٿي پئو ته اها ٿي پوندي آهي. پاڪ آهي اها ذات جنهن جي هٿ ۾ هر شيءِ جو اختيار آهي ۽ ان ئي ڏانهن توهان موٽايا ويندو. ٧٧-٨٣

---

انسان پنهنجو خالق پاڻ نه آهي. هو بيشڪ خالق جي مخلوق آهي، ان جو تقاضو هو ته انسان ۾ عاجزي جي صفت هجي، پر هو حقيقت کي وساري اهڙا بحث ڪندو آهي جيڪي هڪ عاجز ۽ محتاج جي ڪرڻ لائق نه آهن. انسانن ۽ ڪائنات جي اول تخليق ئي ان ڳالهه جو ڪافي ثبوت آهي ته اها تخليق ٻيهر به ممڪن آهي، پر انسان اُن ڳالهه کي نظرانداز ڪري اهو بحث ڪندو آهي ته مرده انسان ٻيهر زنده انسان ڪئين بڻجي ويندو. انسان جو مري ٻيهر زنده حالت ۾ تبديل ٿيڻ جو واقعو بيشڪ قيامت ۾ ٿيندو. پر

پيڻ شين ۾ اهو عمل اڄ بہ نظر اچي رهيو آهي. مثلاً وڻ کي ڏسو وڻ بظاهر سائو هوندو آهي، پر جڏهن ان کي ڪٽي ڪاٺي جي صورت ۾ ساڙيو ويندو آهي تہ اهو هڪ بلڪل مختلف شڪل اختيار ڪري وٺندو آهي، جنهن کي باهہ چوندا آهن.

هڪ شيءِ جو بدلجي بلڪل ٻي شيءِ بڻجي وڃڻ هڪ ثابت ٿيل حقيقت آهي. پيڻ شين ۾ خدا اڄ ئي ان کي ممڪن بڻائي رهيو آهي، انسان لاءِ الله قيامت ۾ ان کي ممڪن بڻائيندو. پر اهو انسان کي مجرائڻ لاءِ نہ هوندو، بلڪ ان لاءِ هوندو تہ انسان کي ان جي سرڪشي جو بدلو ڏنو وڃي.

ايَاتها ١٨٢ (٣٧) سُوْرَةُ الصّٰفّٰتِ مَكِّيَّةٌ (٥٦) رڪوعاتها ٥

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

وَ الصّٰٓفّٰتِ صَفًّا ﴿١﴾ فَالزّٰجِرٰتِ زَجْرًا ﴿٢﴾ فَالتّٰلِيٰتِ ذِكْرًا ﴿٣﴾ اِنَّ اِلٰهَكُمْ لَوَاحِدٌ ﴿٤﴾ رَبُّ المنزل السادس ٦
السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ مَا بَيْنَهُمَا وَ رَبُّ الْمَشَارِقِ ﴿٥﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.
قطار ڪري صف ٻڌڻ وارن (ملائڪن) جو قسم آهي. پوءِ جهڙڪ ڏئي ڌمڪائڻ وارن جو قسم آهي. پوءِ (قرآن) پڙهڻ واري جماعت جو قسم آهي تہ توهان جو معبود هڪڙو ئي آهي. آسمانن ۽ زمين جو رب ۽ جيڪو ڪجهہ انهن جي وچ ۾ آهي ۽ سيني اوڀرن جو رب. ١-٥

---

پيغمبر جي ذريعي جن غيبي حقيقتن جي خبر ڏني وئي، انهن مان هڪ ملائڪن جو وجود آهي. هتي ملائڪن جا ٽي خاص ڪم ٻڌايا ويا آهن. هڪ اهو تہ اهي مڪمل طور تي الله جا تابع آهن. اهي ذري برابر نافرماني کان سواءِ صفون ٻڌي سندس حڪم جي تعميل لاءِ حاضر رهندا آهن. پوءِ فرشتن جي هڪ جماعت اُها آهي جيڪا انسانن تي الله جي سزا جو نفاذ ڪندي آهي، چاهي اها سزا آفتن ۽ حادثن جي صورت ۾ هجي يا ٻئي ڪنهن صورت ۾. فرشتن جو ٽيون عمل اهو ٻڌايو ويو آهي تہ اهي الله جي ٻانهن کي الله جي نصيحت پهچائيندا آهن، عام انسانن تي الهام يا القا جي شڪل ۾ ۽ پيغمبرن تي وحي جي شڪل ۾.

الله تعاليٰ ئي انهن ملائڪن جو مالڪ آهي جن کي عام ماڻهو نہ ٿو ڏسي ۽ الله ئي آسمانن ۽ زمين جو مالڪ بہ آهي جن کي هر ماڻهو پنهنجي اکين سان ڏسي رهيو آهي. اهڙي حالت ۾ الله کان سواءِ جنهن کي بہ معبود بڻايو ويندو، اهو اهڙو معبود هوندو جنهن کي معبود بڻجڻ جو ڪو بہ حق نہ آهي.

اِنَّا زَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنْيَا بِزِيْنَةِ ِۨالْكَوَاكِبِ ﴿٦﴾ وَ حِفْظًا مِّنْ كُلِّ شَيْطٰنٍ مَّارِدٍ ﴿٧﴾ لَا
يَسَّمَّعُوْنَ اِلَى الْمَلَاِ الْاَعْلٰى وَ يُقْذَفُوْنَ مِنْ كُلِّ جَانِبٍ ﴿٨﴾ دُحُوْرًا وَّ لَهُمْ عَذَابٌ وَّاصِبٌ ﴿٩﴾
اِلَّا مَنْ خَطِفَ الْخَطْفَةَ فَاَتْبَعَهٗ شِهَابٌ ثَاقِبٌ ﴿١٠﴾

اسان دنيا جي آسمان کي ستارن جي سونهن سان سينگاريو آهي ۽ هر سرڪش شيطان کان ان کي محفوظ ڪيو

آهي. اهي ملاءِ اعليٰ ڏانهن ڪن نہ ٿا لڳائي سگھن ۽ پيچاڻ لاءِ اهي هر طرف ڪان ماريا وڃن ٿا ۽ انهن لاءِ هميشہ جو عذاب آهي، پر جنهن شيطان ڪا ڳالھ جهٽي تہ تنهن جي پويان پرندڙ اُماڙي آهي. ٦-١٠

دنيا جي آسمان مان مراد وسيع خلا جو اهو حصو آهي جيڪو انسان جي ويجهو آهي. جنهن کي ماڻهو ڪنهن اوزار جي مدد کان سواءِ صرف اکين سان ڏسي سگھي ٿو.

جهڙي طرح انسان هڪ بااختيار مخلوق آهي، اهڙي طرح جن بہ بااختيار مخلوق آهن. اهي خلا ۾ پرواز ڪندا آهن ۽ ڪوشش ڪندا آهن تہ مٿي (ملاءِ اعليٰ) تائين پهچن ۽ اتان مستقبل جون خبرون وٺي اچن. پر دنيا جي آسمان ۾ الله تعاليٰ اهڙا محڪم انتظام ڪيا آهن جو اُتان ئي انهن کي ماري موٽايو ويندو آهي ۽ انهن کي دنياوي آسمان کان مٿي وڃڻ جو موقعو نہ ٿو ملي.

فَاسْتَفْتِهِمْ اَهُمْ اَشَدُّ خَلْقًا اَمْ مَّنْ خَلَقْنَاؕ اِنَّا خَلَقْنٰهُمْ مِّنْ طِيْنٍ لَّازِبٍ﴿۱۱﴾ بَلْ
عَجِبْتَ وَ يَسْخَرُوْنَ﴿۱۲﴾ وَ اِذَا ذُكِّرُوْا لَا يَذْكُرُوْنَ﴿۱۳﴾ وَ اِذَا رَاَوْا اٰيَةً يَّسْتَسْخِرُوْنَ﴿۱۴﴾ وَ
قَالُوْۤا اِنْ هٰذَاۤ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ﴿۱۵﴾ ءَاِذَا مِتْنَا وَ كُنَّا تُرَابًا وَّ عِظَامًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ﴿۱۶﴾ اَوَ
اٰبَآؤُنَا الْاَوَّلُوْنَ﴿۱۷﴾ قُلْ نَعَمْ وَ اَنْتُمْ دَاخِرُوْنَ﴿۱۸﴾

پوءِ انهن کان پڇ تہ سندن پيدائش وڌيڪ مشڪل آهي يا انهن شين جي جن کي اسان پيدا ڪيو آهي، اسان کين چيڪي مٽي مان پيدا ڪيو آهي، بلڪ تون عجب ٿو ڪائين ۽ اهي ٺٺوليون ڪندا آهن ۽ جڏهن کين سمجهايو وڃي ٿو تہ نہ ٿا سمجهن ۽ جڏهن هو ڪا نشاني ڏسن ٿا تہ ٺٺوليون ڪندا آهن ۽ چوندا آهن تہ هي رڳو پڌرو جادو آهي. ڇا جڏهن اسان مري وينداسون ۽ مٽي ۽ هڏا ٿينداسون، تہ وري (جيئرا ڪري) اٿاريا وينداسون ۽ ڇا اسان جا اڳيان ابا ڏاڏا بہ. چؤ تہ ها ۽ توهان ذليل بہ ٿيندو. ١١-١٨

زمين ۽ آسمان جي صورت ۾ جيڪا ڪائنات اسان جي مشاهدي ۾ آهي، اها ايتري پيچيده ۽ ايتري عظيم آهي جو ان کان پوءِ انسانن کي ٻي دنيا ۾ پيدا ڪرڻ ان جي مقابلي ۾ هڪ معمولي ڪم نظر اچڻ لڳي ٿو. جنهن خالق جي تخليقي قوت جو عظيم نمونو ڪائنات جي شڪل ۾ اسان جي سامهون موجود آهي، ان ئي خالق کان ان کان ننڍي انساني تخليق ڪيئن ناممڪن ٿي سگھي ٿي.

انسان جي جسم جو تجزيو ڪرڻ مان خبر پئي ٿي تہ انسان سڄي جو سڄو مٽي جي جزن جو هڪ مجموعو آهي. زمين ۾ ملڻ واري مادي (پاڻي، ڪئليشم، لوهہ سوڊيم ٽنگسٽين وغيره) سان ملي ڪري انسان ٺهيو آهي. اهي سيئي جزا اسان جي دنيا ۾ تمام گهڻي تعداد ۾ ملن ٿا. پوءِ جن جزن سان خالق هڪ دفعو انسان کي ٺاهيو تہ ساڳين جزن سان هو ٻيهر چو ايئن نہ ٿو ڪري سگھي.

فَاِنَّمَا هِيَ زَجْرَةٌ وَّاحِدَةٌ فَاِذَا هُمْ يَنْظُرُوْنَ﴿۱۹﴾ وَ قَالُوْا يٰوَيْلَنَا هٰذَا يَوْمُ الدِّيْنِ﴿۲۰﴾ هٰذَا
يَوْمُ الْفَصْلِ الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ﴿۲۱﴾ اُحْشُرُوا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا وَ اَزْوَاجَهُمْ وَ مَا ع ٥
كَانُوْا يَعْبُدُوْنَ﴿۲۲﴾ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَاهْدُوْهُمْ اِلٰى صِرَاطِ الْجَحِيْمِ﴿۲۳﴾ وَ قِفُوْهُمْ اِنَّهُمْ

مَّسْـُٔوْلُوْنَ۝۲۴ مَا لَكُمْ لَا تَنَاصَرُوْنَ۝۲۵ بَلْ هُمُ الْيَوْمَ مُسْتَسْلِمُوْنَ۝۲۶

پوءِ اها هڪ سخت رڙ هوندي. پوءِ اهي اتي جو اتي ڏسڻ لڳندا ۽ چوندا تہ هاءِ اسان جي بدبختي، هي تہ بدلي جو ڏينهن آهي. هي اهوئي فيصلي جو ڏينهن جنهن کي توهان ڪوڙو پائيندا هئا. گڏ ڪريو انهن کي جن ظلم ڪيو ۽ سندن ساٿين کي ۽ سندن معبودن کي جن جي اهي الله کان سواءِ عبادت ڪندا هئا. پوءِ انهن سڀني کي دوزخ جي واٽ ڏانهن ڏس ڏيو ۽ کين ترسايو. بيشڪ ڪانئن پڇبو تہ توهان کي ڇا ٿيو جو هڪ ٻئي جي مدد نٿا ڪريو، بلڪ اهي اڄ ڪنڌ نوائيندڙ آهن. ١٩-٢٦

---

موجوده دنيا ۾ اچڻ واري زندگي جو معاملو هڪ خبر طور ٻڌايو پيو وڃي، ماڻهو ان خبر کي ڪا بہ اهميت نہ ٿو ڏي، پر آخرت جي زندگي جو معاملو هڪ سنگين حقيقت بڻجي ماڻهو جي سامهون ايندو. ان وقت ماڻهو پنهنجي سرڪشي وساري پاڻ کي الله جي اڳيان جهڪائي ڇڏيندو. اهو ناقابل بيان حدتائين هولناڪ منظر هوندو، ان وقت حشر جي ميدان ۾ ماڻهن جو جيڪو حال ٿيندو، ان جو نقشو هنن آيتن ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

وَ اَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَسَآءَلُوْنَ۝۲۷ قَالُوْۤا اِنَّكُمْ كُنْتُمْ تَاْتُوْنَنَا عَنِ الْيَمِيْنِ۝۲۸
قَالُوْا بَلْ لَّمْ تَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ۝۲۹ وَ مَا كَانَ لَنَا عَلَيْكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ ۚ بَلْ كُنْتُمْ قَوْمًا
طٰغِيْنَ۝۳۰ فَحَقَّ عَلَيْنَا قَوْلُ رَبِّنَاۤ ۖ اِنَّا لَذَآىِٕقُوْنَ۝۳۱ فَاَغْوَيْنٰكُمْ اِنَّا كُنَّا غٰوِيْنَ۝۳۲ فَاِنَّهُمْ
يَوْمَىِٕذٍ فِى الْعَذَابِ مُشْتَرِكُوْنَ۝۳۳

۽ اهي هڪ ٻئي ڏانهن متوجه ٿي سوال ۽ جواب ڪندا. چوندا تہ توهان اسا وٽ ساڄي پاسي کان ايندا هئا. اهي جواب ڏيندا بلڪ توهان خود ايمان آڻڻ اورا نہ هئا ۽ اسان جو توهان تي ڪو زور نہ هو. بلڪ توهان پاڻ حد کان لنگهندڙ ماڻهو هئا. پوءِ اسان سڀني تي اسان جي رب جي ڳالھ پوري ٿي. اسان کي ان (عذاب) جو مزو چکڻو ئي آهي، اسان توهان کي گمراهہ ڪيو. اسان خود بہ گمراهہ هئاسون. پوءِ اهي سڀئي ان ڏينهن عذاب ۾ هڪ ٻئي سان گڏ شريڪ هوندا. ٢٧-٣٣

---

اها عوام ۽ ليڊرن جي گفتگو آهي، قيامت ۾ عوام پنهنجي بربادي جي ذميداري پنهنجن گمراهہ ليڊرن تي وجهندي چوندي تہ توهان اسان کي طرح طرح سان گمراهہ ڪيو. ليڊر چوندا تہ توهان جو اهو الزام غلط آهي. ڪو گمراهہ ڪرڻ وارو ڪنهن کي گمراهہ نہ ٿو ڪري. توهان ماڻهن جي اندر خود سرڪشي جو مزاج هو، اسان جي ڳالھ توهان کي پنهنجي مزاج موافق نظر آئي، ان ڪري توهان ان کي مڃي ورتو، توهان حقيقت ۾ پنهنجن خواهشن جو ساٿ ڏنو هو، نہ وري اسان جو. ٻنهي جو جرم ساڳيو آهي.

حقيقت اها آهي تہ قيامت ۾ ليڊر ۽ سندن پيروي ڪرڻ وارن جو هڪجهڙو انجام ٿيندو، نہ ليڊر جي عظمت ان کي عذاب کان بچائي سگهندي ۽ نہ عوام جو اهو عذر انهن کي بچائيندو تہ اسان کي علم نہ هو، اسان کي اسان جي ليڊرن گمراهہ ڪيو.

اِنَّا كَذٰلِكَ نَفْعَلُ بِالْمُجْرِمِيْنَ۝۳۴ اِنَّهُمْ كَانُوْۤا اِذَا قِيْلَ لَهُمْ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ ۙ يَسْتَكْبِرُوْنَ۝۳۵

وَيَقُوْلُوْنَ اَىِٕنَّا لَتَارِكُوْٓا اٰلِهَتِنَا لِشَاعِرٍ مَّجْنُوْنٍ ﴿٣٦﴾ بَلْ جَآءَ بِالْحَقِّ وَصَدَّقَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٣٧﴾
اِنَّكُمْ لَذَآىِٕقُوا الْعَذَابِ الْاَلِيْمِ ﴿٣٨﴾ وَمَا تُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٣٩﴾

بيشڪ اسان ڏوهارين سان اهڙي طرح ڪندا آهيون. هي اُهي ماڻهو هئا جڏهن کين چيو ويندو هو ته الله کان سواءِ ڪو معبود نه آهي ته اهي تڪبر ڪندا هئا ۽ اهي چوندا هئا ته ڇا اسان هڪ شاعر ۽ مجنون جي چوڻ تي پنهنجي معبودن کي ڇڏي ڏيون. بلڪ هو حق ڪٺي آيو آهي ۽ اهو رسولن جي تصديق ڪندڙ آهي. بيشڪ توهان کي ڏکوئيندڙ عذاب چکڻو پوندو ۽ توهان کي ان ئي جو بدلو ڏنو پيو وڃي جيڪو توهان ڪندا هئا. ٣٤-٣٩

---

”جڏهن کين چيو ويندو هو ته الله کان سواءِ ڪو معبود نه آهي ته اهي تڪبر ڪندا هئا“. ان جو مطلب اهو نه آهي جو هو الله جي مقابلي ۾ تڪبر ڪندا هئا، ايئن ڪوبه نه ٿو ڪري، الله جي عظمت ان کان گهڻي آهي جو ڪير ان جي مقابلي ۾ وڏو ٿيڻ جي جرائت ڪري، سندن تڪبر اصل ۾ الله جو پيغام رسائڻ واري جي مقابلي ۾ هو، نه وري خود خدا جي مقابلي ۾.

پيغمبر جي توحيد جي پيغام جي چوٽ سندن بزرگن تي پوندي هئي جن جي نالي تي اهي پنهنجن مشرڪاڻن عملن ۾ مبتلا هئا، جيئن ته هڪ پاسي پيغمبر هوندو آهي ۽ ٻئي پاسي انهن جا فرض ڪيل بزرگ ۽ چاڪاڻ ته پيغمبر کين پنهنجي بزرگن کان گهٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ان ڪري اهي پيغمبر کي حقير سمجهي نظرانداز ڪري ڇڏيندا هئا. اهي پنهنجي فرضي بزرگن سان وابسته ٿي سمجهندا هئا ته اهي وڏن سان جڙيل آهن. دليل جو زور بيشڪ پيغمبر جي پاسي هوندو آهي، پر ظاهري عظمت کين پنهنجن وڏن ۾ نظر ايندي هئي ۽ تاريخ ٻڌائي ٿي ته ظاهري عظمت جي مقابلي ۾ دليل جي طاقت هميشه بي اثر ثابت ٿي آهي.

اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿٤٠﴾ اُولٰٓىِٕكَ لَهُمْ رِزْقٌ مَّعْلُوْمٌ ﴿٤١﴾ فَوَاكِهُ ۚ وَهُمْ مُّكْرَمُوْنَ ﴿٤٢﴾
فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٤٣﴾ عَلٰى سُرُرٍ مُّتَقٰبِلِيْنَ ﴿٤٤﴾ يُطَافُ عَلَيْهِمْ بِكَاْسٍ مِّنْ مَّعِيْنٍ ﴿٤٥﴾ بَيْضَآءَ
لَذَّةٍ لِّلشّٰرِبِيْنَ ﴿٤٦﴾ لَا فِيْهَا غَوْلٌ وَّلَا هُمْ عَنْهَا يُنْزَفُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَعِنْدَهُمْ قٰصِرٰتُ الطَّرْفِ
عِيْنٌ ﴿٤٨﴾ كَاَنَّهُنَّ بَيْضٌ مَّكْنُوْنٌ ﴿٤٩﴾

پر الله جا مخلص ٻانها آهن. انهن لاءِ مقرر روزي آهي. ميوا ۽ اهي نهايت عزت سان هوندا. نعمت وارن باغن ۾ تختن تي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ويٺل هوندا. وهندڙ شراب جو پيالو مٿن پيو ڦيرائبو صاف شفاف پيئڻ وارن جي لاءِ لذت نه ان ۾ مٿي جي ڦيري هوندي نه ان سان نشو ٿيندو ۽ انهن وٽ وڏين اکين وارين ۽ جهڪيل نظرن وارين عورتون هونديون. ڄڻ اهي ڍڪيل آنا آهن. ٤٠-٤٩

---

موجوده دنيا آزمائش جي دنيا آهي. هتي ماڻهن کي عمل جي آزادي جو موقعو ڏئي سندن انتخاب ڪيو پيو وڃي، جيڪي ماڻهو پنهنجي قول ۽ عمل سان ان جو ثبوت ڏين جو هو جنت جي لطيف ۽ نفيس دنيا ۾ آباد ٿيڻ جي قابل آهن، انهن کي سندن الله پنهنجي جنت ۾ آباد ڪرڻ لاءِ چوندي وٺندو. اتي انهن کي هر قسم جون اعليٰ نعمتون ڏنيون وينديون. پوءِ کين چيو ويندو ته راحت ۽ لذتن جي باغن ۾ هميشه لاءِ آباد رهو.

فَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَسَآءَلُوْنَ ﴿٥٠﴾ قَالَ قَآئِلٌ مِّنْهُمْ اِنِّيْ كَانَ لِيْ قَرِيْنٌ ﴿٥١﴾ يَّقُوْلُ
اَئِنَّكَ لَمِنَ الْمُصَدِّقِيْنَ ﴿٥٢﴾ ءَاِذَا مِتْنَا وَ كُنَّا تُرَابًا وَّ عِظَامًا ءَاِنَّا لَمَدِيْنُوْنَ ﴿٥٣﴾ قَالَ هَلْ
اَنْتُمْ مُّطَّلِعُوْنَ ﴿٥٤﴾ فَاطَّلَعَ فَرَاٰهُ فِيْ سَوَآءِ الْجَحِيْمِ ﴿٥٥﴾ قَالَ تَاللّٰهِ اِنْ كِدْتَّ لَتُرْدِيْنِ ﴿٥٦﴾ وَ
لَوْ لَا نِعْمَةُ رَبِّيْ لَكُنْتُ مِنَ الْمُحْضَرِيْنَ ﴿٥٧﴾ اَفَمَا نَحْنُ بِمَيِّتِيْنَ ﴿٥٨﴾ اِلَّا مَوْتَتَنَا الْاُوْلٰى وَ مَا
نَحْنُ بِمُعَذَّبِيْنَ ﴿٥٩﴾ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٦٠﴾ لِمِثْلِ هٰذَا فَلْيَعْمَلِ الْعٰمِلُوْنَ ﴿٦١﴾

پوءِ هو هڪ ٻئي ڏانهن متوجهه ٿي ڳالهه ڪندا. انهن مان هڪ چوڻ وارو چوندو ته منهنجو هڪ سنگتي هو، هو چوندو هو ته ڇا تون به تصديق ڪندڙن مان آهين. ڇا جڏهن اسان مري ويندا سون ۽ مٽي ۽ هڏا ٿيندا سون ته ڇا اسان کي بدلو ڏنو ويندو. چوندو ڇا اوهين جهاتي پائي ڏسندو ته هو جهاتي پائيندو ۽ ان (سنگتي) کي جهنم جي وچ ۾ ڏسندو. چوندو ته الله جو قسم تو ته مون کي ذري گهٽ هلاڪ ٿي ڪيو ۽ جيڪڏهن منهنجي رب جو فضل نه هجي ها ته آئون به انهن ماڻهن مان هجان ها جيڪي (پڪڙجي) حاضر ڪيا ويا آهن. اسين نه ڪي (هاڻي وري) مرڻ وارا آهيون (اهو) رڳو اسان جو پهريون مرڻ هو ۽ نه وري اسان کي عذاب ٿيندو. بيشڪ اهائي وڏي ڪاميابي آهي. اهڙي ڪاميابي لاءِ عمل ڪرڻ وارن کي عمل ڪرڻ گهرجي. ٥٠-٦١

---

جنت لطيف سرگرمين جي دنيا هوندي. اُتي دلچسپ ملاقاتون ٿينديون، اتي پُر لطف مشاهده ٿيندا. اتي هڪ ٻئي سان آفاقي سطح تي گفتگو ٿيندي. هر قسم جي محدوديت ۽ هر قسم جي ناخوشگواري جو اُتي خاتمو ٿي چڪو هوندو.

آخرت کي مڃڻ مان مراد سادي طورتي ان کي مڃي وٺڻ نه آهي، بلڪ آخرت جي معاملي کي ايترو حقيقي ۽ ايترو اهم سمجهڻو آهي جو اهو نظريو ماڻهو جي پوري زندگي تي ڇانئجي وڃي، ماڻهو پنهنجو سڀ ڪجهه آخرت تي لڳائي ڇڏي. جيڪي ماڻهو اهڙن آخرت پسند ماڻهن کي ديوانو سمجهندا هئا، اهي آخرت ۾ سندن ڪاميابيون ڏسي حيران رهجي ويندا. ٻئي پاسي آخرت پسند ماڻهن جو اهو حال هوندو جو هو پنهنجي شاندار انجام کي اهڙي حيرت سان پيا ڏسندا ۽ ڄڻ انهن کي يقين نه اچي رهيو هجي ته سندن ٿوري عمل جو خدا ايترو وڏو بدلو ڏنو آهي. ڪيترو نه عجيب هوندو اهو انسان جيڪو اهڙي جنت جو حريص نه هجي. جيڪو اهڙي جنت لاءِ عمل نه ڪري.

اَذٰلِكَ خَيْرٌ نُّزُلًا اَمْ شَجَرَةُ الزَّقُّوْمِ ﴿٦٢﴾ اِنَّا جَعَلْنٰهَا فِتْنَةً لِّلظّٰلِمِيْنَ ﴿٦٣﴾ اِنَّهَا شَجَرَةٌ
تَخْرُجُ فِيْٓ اَصْلِ الْجَحِيْمِ ﴿٦٤﴾ طَلْعُهَا كَاَنَّهٗ رُءُوْسُ الشَّيٰطِيْنِ ﴿٦٥﴾ فَاِنَّهُمْ لَاٰكِلُوْنَ مِنْهَا
فَمَالِـُٔوْنَ مِنْهَا الْبُطُوْنَ ﴿٦٦﴾ ثُمَّ اِنَّ لَهُمْ عَلَيْهَا لَشَوْبًا مِّنْ حَمِيْمٍ ﴿٦٧﴾ ثُمَّ اِنَّ مَرْجِعَهُمْ
لَاِلَى الْجَحِيْمِ ﴿٦٨﴾ اِنَّهُمْ اَلْفَوْا اٰبَآءَهُمْ ضَآلِّيْنَ ﴿٦٩﴾ فَهُمْ عَلٰٓى اٰثٰرِهِمْ يُهْرَعُوْنَ ﴿٧٠﴾ وَ لَقَدْ
ضَلَّ قَبْلَهُمْ اَكْثَرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٧١﴾ وَ لَقَدْ اَرْسَلْنَا فِيْهِمْ مُّنْذِرِيْنَ ﴿٧٢﴾ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ
عَاقِبَةُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿٧٣﴾ اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿٧٤﴾ ع ٢ ٥٣ ٦

پيلا اها مهماني پلي آهي يا ٿوهر جو وڻ. اسان ان کي ظالمن لاءِ (عذاب) بڻايو آهي. اهو هڪ وڻ آهي جيڪو دوزخ جي تري مان نڪرندو آهي. ان جا گوشا اهڙا آهن جهڙا شيطانن جا متا. پوءِ اُهي ماڻهو ان مان کائيندا. پوءِ منجهائن پيٽ ڀريندا. پوءِ کين ٽهڪندڙ پاڻي ملائي ڏنو ويندو. پوءِ سندن موٽڻ دوزخ ڏانهن هوندو. انهن پنهنجن ابن ڏاڏن کي گمراهي ۾ ڏٺو. پوءِ اهي بہ انهن جي نقش قدم تي ڊوڙيا ۽ کانئن اڳين مان گهڻا گمراهہ ٿيا ۽ اسان انهن ۾ ڊيڄارڻ وارا موڪليا. پوءِ ڏس انهن ماڻهن جو انجام ڇا ٿيو جن کي ڊيڄاريو ويو هو. سواءِ انهن جي جيڪي الله جا مخلص ٻانها هئا. ٦٢-٧٤

---

قرآن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ دوزخ ۾ زقوم جو وڻ هوندو ۽ دوزخي ماڻهو جڏهن بک کان بيقرار ٿيندا تہ ان کي کائيندا (الواقعہ ٥٢).

قرآن ۾ جڏهن اها خبر ڏني وئي تہ عرب جي ماڻهن ان جو مذاق اڏائڻ شروع ڪيو. هڪ سردار چيو تہ دوزخ جي باهہ ۾ وڻ ڪيئن پيدا ٿي سگهي ٿو. جڏهن تہ باهہ وڻ کي ساڙي ٿي ڇڏي. هڪ ٻئي سردار چيو محمدﷺ اسان کي زقوم کان ڊيڄاري ٿو. حالانڪ زقوم بربر زبان ۾ کجي ۽ مکڻ کي چوندا آهن. ابوجهل ڪجهہ ماڻهن کي پنهنجي گهر وٺي ويو ۽ پنهنجي خادمہ کي چيو تہ کجي ۽ مکڻ ڪٽي اچ. ان آندو. ابوجهل پنهنجن ساٿين کي چيو اچو ان کي کائون. اهوئي زقوم آهي جنهن جي محمدﷺ توهان کي ڌمڪي ڏئي رهيو آهي. (تزقموا هذا مايوعدکم بہ محمد. التفسير المظهري)

اهڙي قسم جا قرآني بيان مخالفن لاءِ بهترين هٿيار هئا. جن جي ذريعي اهي عوام جي نظر ۾ قرآن کي غير معتبر ثابت ڪري سگهن. الله جي لاءِ اهو ممڪن هو تہ هو قرآن ۾ اهڙا لفظ استعمال نہ ڪري جنهن ۾ مخالفن لاءِ شوشو ڪڍڻ جو موقعو هجي، پر الله ايئن نہ ڪيو. ان جو سبب اهو آهي تہ اهوئي اهو مقام آهي جتي ماڻهو جو امتحان ٿي رهيو آهي، ماڻهو کي نجات وارو بڻجڻ لاءِ اهو ثبوت ڏيڻو آهي تہ انهن شوشي جي ڳالهين کان بچي اصل حقيقت تي ڌيان ڏي ۽ انهن غلط فهمين کان بچي ڪلام جي حقيقي پيغام کي سمجهي وٺي ۽ ذهني مونجهاري جو موقعو هوندي بہ پاڻ کي ذهني انحراف کان بچائي.

الله جا چونڊيل ٻانها اهي آهن جيڪي رواجي دين کان مٿي ٿي سچائي کي دريافت ڪن. جيڪي ظاهر کان بلند ٿي معنيٰ جو ادراڪ ڪن. جيڪي الله جي بشري نمائندي کي سڃاڻي ان جا ساٿي بڻجي وڃن.

وَ لَقَدْ نَادٰىنَا نُوْحٌ فَلَنِعْمَ الْمُجِيْبُوْنَ ﴿۷۵﴾ وَ نَجَّيْنٰهُ وَ اَهْلَهٗ مِنَ الْكَرْبِ الْعَظِيْمِ ﴿۷۶﴾ وَ جَعَلْنَا ذُرِّيَّتَهٗ هُمُ الْبٰقِيْنَ ﴿۷۷﴾ وَ تَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي الْاٰخِرِيْنَ ﴿۷۸﴾ سَلٰمٌ عَلٰى نُوْحٍ فِي الْعٰلَمِيْنَ ﴿۷۹﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۸۰﴾ اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۸۱﴾ ثُمَّ اَغْرَقْنَا الْاٰخَرِيْنَ ﴿۸۲﴾

۽ اسان کي نوح سڏيو تہ اسان (ڪهڙا نہ سٺا) سڏ ٻڌڻ وارا آهيون ۽ اسان ان کي ۽ سندس ماڻهن کي وڏي غم کان بچايو ۽ اسان سندس اولاد کي باقي رهندڙ ڪيو سون ۽ پوئين ۾ ان لاءِ (چڱي يادگيري) ڇڏي سون. سلام آهي نوح تي سڄي جهان وارن ۾. اسان نيڪي ڪرڻ وارن کي اهڙو ئي بدلو ڏيندا آهيون. بيشڪ اهو اسان جي مؤمن ٻانهن مان هو. پوءِ اسان ٻين کي غرق ڪيو. ٧٥-٨٢

---

حضرت نوحؑ جي قوم سندس دشمن ٿي وئي. هن قوم جي مقابلي ۾ الله کي مدد لاءِ پڪاريو ته الله بهترين طور تي پاڻؑ جي مدد ڪئي. اهي لفظ ٻڌاين ٿا ته جڏهن الله جو هڪ ٻانهو الله کي سڏي ٿو ته الله طرفان ان کي بهترين جواب ملي ٿو، پر ان معاملي کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته ان ۾ هڪ ٻي ڳالهه کي شامل ڪيو وڃي، اها هي آهي ته حضرت نوحؑ ساڍا نَو سؤ سالن تائين ڪم ڪندا رهيا. انهن صبر ۽ حڪمت ۽ خيرخواهي سان قوم کي دعوت ڏني، اهڙي طرح ڊگهي مدت کان پوءِ اهو وقت آيو جو هو قوم جي خلاف الله کي سڏي ته الله پنهنجن سيني طاقتن سان سندس مدد تي اچي وڃي.

حضرت نوحؑ جا مخالف هڪ سخت طوفان ۾ اهڙي طرح هلاڪ ٿيا جو سندن پوري نسل ختم ٿي وئي. ان کان پوءِ پيهر جيڪا نسل هلي اها انهن ڪجهه ماڻهن جي ذريعي هلي جيڪي حضرت نوحؑ سان ٻيڙي ۾ بچايا ويا هئا.

وَ اِنَّ مِنْ شِيْعَتِهٖ لَاِبْرٰهِيْمَ ﴿٨٣﴾ اِذْ جَآءَ رَبَّهٗ بِقَلْبٍ سَلِيْمٍ ﴿٨٤﴾ اِذْ قَالَ لِاَبِيْهِ وَ قَوْمِهٖ مَا ذَا
تَعْبُدُوْنَ ﴿٨٥﴾ اَئِفْكًا اٰلِهَةً دُوْنَ اللّٰهِ تُرِيْدُوْنَ ﴿٨٦﴾ فَمَا ظَنُّكُمْ بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٨٧﴾

۽ ان (نوح) جي پيروي ڪندڙن مان ابراهيم به هو. جڏهن هو آيو پنهنجي رب وٽ قلب سليم سان. جڏهن ان پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم کي چيو ته توهان ڪنهن جي عبادت ڪريو ٿا. ڇا توهان الله کان سواءِ هٿرادو ٺهيل معبودن کي گهرو ٿا. پوءِ جهانن جي پالڻهار بابت اوهان جو ڪهڙو گمان آهي. ٨٣-٨٧

---

حضرت ابراهيمؑ به ان ئي دين تي هئا، جنهن دين تي حضرت نوحؑ هئا. سيني نبين جي دعوت هميشه هڪ ئي رهي. اُها اِها ته ماڻهو قلب سليم سان الله وٽ پهچي.

قلب سليم جي معنيٰ پاڪ دل آهي. يعني آفتن کان محفوظ دل. اهائي اصل شيءِ آهي جيڪا الله تعاليٰ کي انسان کان گهربل آهي. الله انسان کي صحيح فطرت تي پيدا ڪري دنيا ۾ موڪليو آهي. هاڻي انسان جو امتحان اهو آهي ته هو دنيا جي فتنن کان پاڻ کي بچائي، اهو هر قسم جي نفسياتي ۽ شيطاني آلودگين کان پاڪ رهي الله وٽ پهچي. اهي ئي پاڪ ۽ محفوظ انسان آهن جن کي الله پنهنجن جنتن ۾ وسائيندو.

شرڪ الله تعاليٰ کي گهٽ ڪرڻ آهي. ماڻهو الله کي سيني کان وڏي جي حيثيت نه ٿو ڏئي سگهي، ان ڪري هو ٻين جي وڏاين ۾ گم ٿي انهن جي پرستش ڪرڻ لڳي ٿو.

فَنَظَرَ نَظْرَةً فِي النُّجُوْمِ ﴿٨٨﴾ فَقَالَ اِنِّيْ سَقِيْمٌ ﴿٨٩﴾ فَتَوَلَّوْا عَنْهُ مُدْبِرِيْنَ ﴿٩٠﴾ فَرَاغَ اِلٰى
اٰلِهَتِهِمْ فَقَالَ اَلَا تَاْكُلُوْنَ ﴿٩١﴾ مَا لَكُمْ لَا تَنْطِقُوْنَ ﴿٩٢﴾ فَرَاغَ عَلَيْهِمْ ضَرْبًا بِالْيَمِيْنِ ﴿٩٣﴾
فَاَقْبَلُوْٓا اِلَيْهِ يَزِفُّوْنَ ﴿٩٤﴾ قَالَ اَتَعْبُدُوْنَ مَا تَنْحِتُوْنَ ﴿٩٥﴾ وَ اللّٰهُ خَلَقَكُمْ وَ مَا تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٦﴾
قَالُوا ابْنُوْا لَهٗ بُنْيَانًا فَاَلْقُوْهُ فِي الْجَحِيْمِ ﴿٩٧﴾ فَاَرَادُوْا بِهٖ كَيْدًا فَجَعَلْنٰهُمُ
الْاَسْفَلِيْنَ ﴿٩٨﴾ وَ قَالَ اِنِّيْ ذَاهِبٌ اِلٰى رَبِّيْ سَيَهْدِيْنِ ﴿٩٩﴾ رَبِّ هَبْ لِيْ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٠٠﴾
فَبَشَّرْنٰهُ بِغُلٰمٍ حَلِيْمٍ ﴿١٠١﴾

پوءِ ابراهيم تارن تي هڪ نظر وڌي پوءِ چيائين آءٌ بيمار ٿيندس، پوءِ اهي ماڻهو ان کي ڇڏي هليا ويا. پوءِ هن سندن معبودن ڏانهن رخ ڪيو. چيائين اوهين ڇو نہ ٿا کائو. اوهان کي ڇا ٿيو آهي جو توهان نہ ٿا ڳالهايو. پوءِ انهن کي زور سان ڌڪ هنيائين، پوءِ ماڻهو ان ڏانهن ڊوڙندا آيا. ابراهيم چيو ڇا توها انهن شين کي پوڄيندا آهيو جن کي پاڻ گهڙيو ٿا ۽ الله ئي پيدا ڪيو آهي اوهان کي بہ ۽ انهن شين کي بہ جن کي توهان ٺاهيو ٿا. انهن چيو ان (ابراهيم) لاءِ هڪ جڳهہ ٺاهيو. پوءِ ان کي (باهہ) جي آڙاهہ ۾ اڇلايو. پوءِ انهن سندس خلاف هڪ تدبير ڪرڻ چاهي، پوءِ اسان ڪين زير ڪيوسون ۽ (ابراهيم) چيو آئون پنهنجي رب ڏانهن وڃي رهيو آهيان. هو منهنجي رهنمائي فرمائيندو. اي منهنجا رب! مون کي صالح اولاد عطا فرما، تہ اسان ان کي هڪ بردبار ڇوڪري جي بشارت ڏني. ٨٨-١٠١

---

حضرت ابراهيم جي قوم جا ماڻهو ڪنهن ميلي ۾ شرڪت لاءِ شهر کان ٻاهر وڃي رهيا هئا. سندس گهروارن پاڻ عليه السلام کي بہ هلڻ لاءِ چيو تہ پاڻ عليه السلام انهن سان معذرت ڪئي. جڏهن سڀئي ماڻهو هليا ويا تہ رات جي وقت پاڻ عليه السلام بت خاني ۾ داخل ٿيا ۽ بتن کي ڀيڇي ڇڏيو، اهو پاڻ عليه السلام ان وقت ڪيو جڏهن تہ مسلسل دعوت جي ذريعي انهن تي حجت پوري ڪري چڪا هئا. جڏهن انهن دليلن سان بتن جو بي حقيقت هئڻ تسليم نہ ڪيو تہ بتن کي ٽوڙي پاڻ عليه السلام عمل جي زبان ۾ ٻڌايو تہ انهن بتن جي ڪا حقيقت نہ آهي. جيڪڏهن حقيقت هجي ها تہ هو پنهنجي پاڻ کي ٽٽڻ کان بچائي وٺن ها.

پاڻ عليه السلام جي ان آخري ڪارروائي کان پوءِ قوم بہ پنهنجي آخري ڪارروائي ڪئي. انهن پاڻ عليه السلام کي باهہ ۾ وجهي ڇڏيو، پر الله پاڻ عليه السلام کي باهہ کان بچائي ورتو. ان کان پوءِ پاڻ عليه السلام پنهنجي وطن عراق کي ڇڏي هليا ويا. ان وقت پاڻ عليه السلام دعا ڪئي تہ اي الله! مون کي صالح اولاد ڏي، تہ جيئن آئون تعليم ۽ تربيت جي ذريعي ان کي مؤمن ۽ مسلم بڻايان ۽ هو مون کان پوءِ توحيد جي دعوت جو تسلسل جاري رکي.

فَلَمَّا بَلَغَ مَعَهُ السَّعْيَ قَالَ يٰبُنَيَّ اِنِّيْۤ اَرٰى فِي الْمَنَامِ اَنِّيْۤ اَذْبَحُكَ فَانْظُرْ مَاذَا تَرٰى ؕ قَالَ
يٰۤاَبَتِ افْعَلْ مَا تُؤْمَرُ ۫ سَتَجِدُنِيْۤ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۱۰۲﴾ فَلَمَّاۤ اَسْلَمَا وَ تَلَّهٗ
لِلْجَبِيْنِ ﴿۱۰۳﴾ وَ نَادَيْنٰهُ اَنْ يّٰۤاِبْرٰهِيْمُ ﴿۱۰۴﴾ قَدْ صَدَّقْتَ الرُّءْيَا ۚ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي
الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۰۵﴾ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْبَلٰٓؤُا الْمُبِيْنُ ﴿۱۰۶﴾ وَ فَدَيْنٰهُ بِذِبْحٍ عَظِيْمٍ ﴿۱۰۷﴾ وَ تَرَكْنَا عَلَيْهِ
فِي الْاٰخِرِيْنَ ﴿۱۰۸﴾ سَلٰمٌ عَلٰۤى اِبْرٰهِيْمَ ﴿۱۰۹﴾ كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۱۰﴾ اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا
الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۱۱﴾ وَ بَشَّرْنٰهُ بِاِسْحٰقَ نَبِيًّا مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۱۱۲﴾ وَ بٰرَكْنَا عَلَيْهِ وَ عَلٰۤى اِسْحٰقَ ؕ وَ
مِنْ ذُرِّيَّتِهِمَا مُحْسِنٌ وَّ ظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ مُبِيْنٌ ﴿۱۱۳﴾ ع ٣

پوءِ جڏهن هو اُن سان هلڻ ڦرڻ جي عمر کي پهتو. ان چيو تہ اي منهنجا پٽڙا! آئون خواب ۾ ڏسان ٿو تہ تو کي ذبح ڪري رهيو آهيان. پوءِ تون سوچ تہ تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟ ان چيو تہ اي منهنجا بابا! جنهن جو حڪم تو کي ڏنو پيو وڃي سو ڪر، انشاءَ الله تون مون کي صبر ڪرڻ وارن ۾ لهندين. پوءِ جڏهن ٻنهي حڪم مڃيو ۽ ابراهيم ان کي پيشاني پر ليٽايو ۽ اسان ڪيس آواز ڏنو تہ اي ابراهيم! تو خواب کي سچ ڪري ڏيکاريو. بيشڪ اسان نيڪي ڪرڻ وارن کي اهڙو ئي بدلو ڏيندا آهيون بيشڪ اها هڪ پڌري آزمائش هئي ۽ اسان هڪ وڏي

قرباني جي عيوض ان کي ڇڏائي ورتو ۽ اسان پوئين ۾ (چڱي ساراهه) ان لاءِ ڇڏي. ابراهيم تي شال سلام هجي. اسان نيڪي ڪرڻ وارن کي اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون. بيشڪ هو اسان جي مؤمن ٻانهن مان هو ۽ اسان ان کي اسحاق جي خوشخبري ڏني جو هڪ نبي هو صالحين مان ۽ اسان ان کي ۽ اسحاق کي برڪت ڏني ۽ انهن ٻنهي جي نسل مان چڱا به آهن ۽ اهڙا به جيڪي پنهنجي نفس تي پڌرو ظلم ڪندڙ آهن. ١٠٢-١١٣

---

حضرت ابراهيمؑ جي زماني ۾ شرڪ جو عام غلبو هو. جنهن ڪري تاريخ ۾ ان جو تسلسل قائم ٿي ويو. هاڻي جيڪو ٻار پيدا ٿيندو هو اهو ماحول جي اثر ڪان شرڪ ۾ ايترو پختو ٿي ويندو هو جو ڪابه دعوتي ڪوشش ان جي ذهن کي شرڪ ڪان هٽائڻ ۾ ڪامياب نه ٿيندي هئي. حضرت ابراهيم ڊگهي دعوتي جدوجهد ڪان پوءِ عراق مان نڪتا ته انهن سان صرف ٻه مؤمن هئا. هڪ ٻاڻؑ جي زال ٻيبي ساره رضہ ٻيو سندس ڀائيٽو لوطؑ.

ماڻهو دعوت جي ذريعي توحيد جي رستي تي نه پئي آيا. ان ڪري الله تعاليٰ جو منصوبو هي ٿيو ته هڪ اهڙي نسل تيار ڪئي وڃي جنهن جي شرڪ جي فضا ڪان الڳ ٿي پرورش ٿئي. ان لاءِ حجاز جي علائقي جو انتخاب ٿيو. جيڪو رڻ پٽ هئڻ جي ڪري بلڪل غير آباد پيل هو منصوبو اهو هو ته ان غير آباد علائقي ۾ هڪ ماڻهو کي آباد ڪيو وڃي ۽ ان جي نسل جي ذريعي هڪ محفوظ نسل تيار ڪئي وڃي. پر ان وقت حجاز هڪ رڻ هو ۽ ان ۾ ڪنهن ماڻهو کي آباد ڪرڻ ان کي جيئري ذبح ڪرڻ جي هم معنيٰ هو. حضرت ابراهيمؑ کي الله تعاليٰ پنهنجي پٽ جي حق ۾ ان ئي ذبح جو حڪم ڏنو ۽ انهن پوري طرح اطاعت ڪندي پنهنجي پٽ کي ذبح جي لاءِ حاضر ڪيو.

حضرت ابراهيمؑ جو ٻيو پٽ حضرت اسحاقؑ هو. ان جي نسل ۾ مسلسل نبوت جاري رهي، ايستائين جو بني اسماعيل ۾ آخري نبي پيدا ٿيو. هن مٿي ڄاڻايل "محفوظ نسل" کي استعمال ڪندي اهو انقلاب آندو جنهن هميشه لاءِ شرڪ کي غالب فڪر جي حيثيت سان ختم ڪري ڇڏيو.

وَ لَقَدْ مَنَنَّا عَلٰى مُوْسٰى وَ هٰرُوْنَ ﴿١١٤﴾ وَ نَجَّيْنٰهُمَا وَ قَوْمَهُمَا مِنَ الْكَرْبِ الْعَظِيْمِ ﴿١١٥﴾ وَ
نَصَرْنٰهُمْ فَكَانُوْا هُمُ الْغٰلِبِيْنَ ﴿١١٦﴾ وَ اٰتَيْنٰهُمَا الْكِتٰبَ الْمُسْتَبِيْنَ ﴿١١٧﴾ وَ هَدَيْنٰهُمَا الصِّرَاطَ
الْمُسْتَقِيْمَ ﴿١١٨﴾ وَ تَرَكْنَا عَلَيْهِمَا فِي الْاٰخِرِيْنَ ﴿١١٩﴾ سَلٰمٌ عَلٰى مُوْسٰى وَ هٰرُوْنَ ﴿١٢٠﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ
نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٢١﴾ اِنَّهُمَا مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٢٢﴾

۽ اسان موسيٰ ۽ هارون تي احسان ڪيو ۽ انهن کي ۽ سندن قوم کي هڪ وڏي مصيبت مان نجات ڏني ۽ اسان انهن جي مدد ڪئي. پوءِ اهي ئي غالب رهيا ۽ اسان انهن ٻنهي کي واضح ڪتاب ڏنو ۽ اسان انهن ٻنهي کي سڌي واٽ ڏيکاري ۽ پوئين ۾ (چڱي ساراهه) انهن لاءِ ڇڏي، سلامتي هجي موسيٰ ۽ هارون تي اسان نيڪي ڪرڻ وارن کي اهڙو ئي بدلو ڏيندا آهيون. بيشڪ اُهي (ٻئي) اسان جي مؤمن ٻانهن مان هئا. ١١٤-١٢٢

---

الله تعاليٰ حضرت موسيٰؑ ۽ سندس قوم جي مدد ڪئي ۽ ڪين فرعون جي ظلم ڪان نجات ڏني، هتي سوال آهي ته اهو ڪيئن ٿيو؟ اهو دعوت الي الله جي ذريعي ٿيو، حضرت موسيٰؑ فرعون تي حق جي

تبليغ ڪئي. ڏڳهي جدوجهد جي ذريعي پاڻ عليه السلام ان تي حجت تمام ڪئي. ان ڪان پوءِ اهو وقت آيو تہ فرعون کي مجرم قرار ڏئي ان کي هلاڪ ڪيو ويو ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ سندس قوم کي غلبو حاصل ٿيو.

هن مضمون ۾ صراط مستقيم ڏيکارڻ جو هڪ مطلب اهو آهي تہ فرعون جي مسئلي جو صحيح حل انهن تي واضح ڪيو ويو. بني اسرائيل لاءِ جيتوڻيڪ اهو هڪ قومي سياسي مسئلو هو، پر ان جو حل انهن کي دعوت جي شڪل ۾ ٻڌايو ويو. تنهن ڪري انهن کي جيڪو غلبو مليو اهو ڪين دعوتي جدوجهد جي نتيجي ۾ مليو، نہ وري فرعون جي خلاف معروف قسم جي قومي جدوجهد جي نتيجي ۾.

وَ اِنَّ اِلۡيَاسَ لَمِنَ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ﴿١٢٣﴾ؕ اِذۡ قَالَ لِقَوۡمِهٖۤ اَلَا تَتَّقُوۡنَ ﴿١٢٤﴾ اَتَدۡعُوۡنَ بَعۡلًا وَّ تَذَرُوۡنَ اَحۡسَنَ الۡخَالِقِيۡنَ ﴿١٢٥﴾ۙ اللّٰهَ رَبَّكُمۡ وَ رَبَّ اٰبَآئِكُمُ الۡاَوَّلِيۡنَ ﴿١٢٦﴾ فَكَذَّبُوۡهُ فَاِنَّهُمۡ لَمُحۡضَرُوۡنَ ﴿١٢٧﴾ۙ اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ الۡمُخۡلَصِيۡنَ ﴿١٢٨﴾ وَ تَرَكۡنَا عَلَيۡهِ فِي الۡاٰخِرِيۡنَ ﴿١٢٩﴾ۙ سَلٰمٌ عَلٰۤى اِلۡ يَاسِيۡنَ ﴿١٣٠﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجۡزِي الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿١٣١﴾ اِنَّهٗ مِنۡ عِبَادِنَا الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿١٣٢﴾

بيشڪ الياس بہ پيغمبرن مان هو. جڏهن هن پنهنجي قوم کي چيو ڇا توهان ڊڄو نہ ٿا. ڇا توهان بعل کي سڏيو ٿا ۽ بهترين خالق کي ڇڏي ٿا ڏيو. الله کي جيڪو توهان جو بہ رب آهي ۽ توهان جي اڳين ابن ڏاڏن جو بہ. پوءِ انهن کيس ڪوڙو ڀانئيو. تنهن ڪري اهي ضرور (دوزخ ۾) حاضر ڪيل وارن مان هوندا، پر جيڪي الله جا خاص ٻانها هئا ۽ اسان پوئين ۾ (چڱي ساراهہ) ان لاءِ ڇڏي سون. سلامتي هجي الياس تي. اسان نيڪي ڪرڻ وارن کي اهڙو ئي بدلو ڏيندا آهيون. بيشڪ اُهو اسان جي مؤمن ٻانهن مان هو. ١٢٣-١٣٢

---

حضرت الياس عليه السلام گهڻو ڪري حضرت هارون عليه السلام جي نسل مان هئا. سندس زمانو ٩ صدي قبل مسيح آهي. ان زماني ۾ اسرائيل (فلسطين) جو يهودي بادشاهہ اخي اب (Ahab) ۽ لبنان ۾ فنيقي قوم (Phoenicians) جي حڪومت هئي، جيڪا مشرڪ هئي ۽ بعل نالي بت جي پوڄا ڪندي هئي. اخي اب مشرڪ بادشاهہ جي ڇوڪري سان شادي ڪري ورتي. ان مشرڪ شهزادي جي اثر سان يهودين ۾ بعل جي پرستش شروع ٿي وئي. ان وقت حضرت الياس يهودين کي ڏيڇاريو ۽ هڪ الله جي پرستش ڏانهن سڏيو جيڪو سندن ابن ڏاڏن جو دين هو، حضرت الياس جي واقعي جو تفصيل بائيبل ۾ موجود آهي.

حضرت الياس عليه السلام جي زماني ۾ صرف ٿورن يهودين پاڻ عليه السلام جو ساٿ ڏنو. اڪثر يهودين پاڻ عليه السلام جي مخالفت ڪئي، ايستائين جو ڪيس قتل ڪرڻ جو ارادو ڪيائون. ان ڪري الله تعاليٰ انهن تي سزا طور مصيبتون موڪليون. پر بعد جي يهودين ۾ حضرت الياس عليه السلام (ايليا) کي تمام اوچو مقام مليو. اڄ بہ اهو يهودين جي تاريخ ۾ تمام وڏو نبي شمار ڪيو ويندو آهي.

وَ اِنَّ لُوۡطًا لَّمِنَ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ﴿١٣٣﴾ؕ اِذۡ نَجَّيۡنٰهُ وَ اَهۡلَهٗۤ اَجۡمَعِيۡنَ ﴿١٣٤﴾ۙ اِلَّا عَجُوۡزًا فِي الۡغٰبِرِيۡنَ ﴿١٣٥﴾ ثُمَّ دَمَّرۡنَا الۡاٰخَرِيۡنَ ﴿١٣٦﴾ وَ اِنَّكُمۡ لَتَمُرُّوۡنَ عَلَيۡهِمۡ مُّصۡبِحِيۡنَ ﴿١٣٧﴾ۙ وَ بِالَّيۡلِؕ اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ ﴿١٣٨﴾ؑ ٢٥ ع ٨

۽ بيشڪ لوط بہ پيغمبرن مان هو جڏهن اسان ان کي ۽ سندس سمورن گهروارن کي نجات ڏني سواءِ هڪ ڪراڙي (زال) جي جيڪا پٺ تي رهجي ويڻ وارن مان هئي پوءِ اسان ٻين کي هلاڪ ڪيوسون ۽ بيشڪ اوهين انهن (جي ڳوٺن) وٽان صبح جو لنگهندا آهيو ۽ رات جو بہ. پوءِ ڇا اوهين سمجهو نہ ٿا. ١٣٣-١٣٨

---

حضرت لوط عليه السلام حضرت ابراهيم عليه السلام جا ڀائيٽا هئا. هو بحر مردار جي علائقي ۾ سدوم ۽ عموره جي هدايت لاءِ موڪليا ويا. اتي جا ماڻهو غيرالله جي پرستش ۾ مبتلا هئا. پر انهن هدايت قبول نہ ڪئي. آخرڪار انهن تي الله جي آفت آئي ۽ حضرت لوط عليه السلام ۽ سندن ڪجھ ساٿين کي ڇڏي سڀئي هلاڪ ڪيا ويا.

قوم لوط جي وسندين جا کنڊر بحر مردار جي ڪناري موجود هئا ۽ قريش جا ماڻهو جڏهن واپار لاءِ شام ۽ فلسطين ويندا هئا تہ هو رستي ۾ انهن برباد وسندين کي ڏسندا هئا. پر انسان جو حال اهو آهي جو هو صرف ان حادثي کي ڄاڻي ٿو جيڪو خود ان تي گذريو هجي. ٻين جي انجام مان هو ڪڏهن بہ سبق نہ ٿو وٺي.

وَ اِنَّ يُوْنُسَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٣٩﴾ اِذْ اَبَقَ اِلَى الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ ﴿١٤٠﴾ فَسَاهَمَ فَكَانَ مِنَ الْمُدْحَضِيْنَ ﴿١٤١﴾ فَالْتَقَمَهُ الْحُوْتُ وَ هُوَ مُلِيْمٌ ﴿١٤٢﴾ فَلَوْ لَاۤ اَنَّهٗ كَانَ مِنَ الْمُسَبِّحِيْنَ ﴿١٤٣﴾ لَلَبِثَ فِيْ بَطْنِهٖۤ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿١٤٤﴾ فَنَبَذْنٰهُ بِالْعَرَآءِ وَ هُوَ سَقِيْمٌ ﴿١٤٥﴾ وَ اَنْۢبَتْنَا عَلَيْهِ شَجَرَةً مِّنْ يَّقْطِيْنٍ ﴿١٤٦﴾ وَ اَرْسَلْنٰهُ اِلٰى مِائَةِ اَلْفٍ اَوْ يَزِيْدُوْنَ ﴿١٤٧﴾ فَاٰمَنُوْا فَمَتَّعْنٰهُمْ اِلٰى حِيْنٍ ﴿١٤٨﴾

۽ بيشڪ يونس بہ رسولن مان هو. جڏهن هو ڀريل ٻيڙي ڏانهن ڀڳو. پوءِ (ٻيڙي وارن سان) پڪو وڌائين تہ (پاڻ) پڪي پيلن مان ٿيو. پوءِ کيس مڇي ڳهي ويئي ۽ هو پاڻ کي ملامت ڪري رهيو هو. پوءِ جيڪڏهن هو تسبيح ڪرڻ وارن مان نہ هجي ها تہ ماڻهن جي اٿارڻ واري ڏينهن تائين ان جي پيٽ ۾ رهي ها. پوءِ اسان ان کي هڪ صاف ميدان ۾ اڇليو سون ۽ هو بيمار هو ۽ اسان مٿس هڪ (ول) جهڙو وڻ پيدا ڪيو سون ۽ اسان کيس هڪ لک يا (ان کان) وڌيڪ ماڻهن ڏانهن موڪليوسون. پوءِ انهن ايمان آندو. پوءِ هڪ وقت تائين کين فائدو ڏنو سون. ١٣٩-١٤٨

---

حضرت يونس عليه السلام جو زمانو اٺين صدي قبل مسيح آهي. هو عراق جي قديم شهر نينويٰ (Nineveh) ۾ رسول بڻائي موڪليا ويا. هڪ مدت تائين تبليغ ڪرڻ کان بعد پاڻ اندازو ڪيائون تہ قوم ايمان آڻڻ واري نہ آهي. پاڻ عليه السلام شهرڇڏي ويا. اڳتي وڃڻ لاءِ پاڻ عليه السلام شايد دجلہ جي ڪناري هڪ ٻيڙي ۾ سوار ٿيا. ٻيڙي گهٽي ڀريل هئي. وچ ۾ ڦاٿل ٿي ويئي سندس ٻيڙي جي ٻڏڻ جو انديشو ٿيو. تنهن ڪري ٻيڙي کي هلڪو ڪرڻ لاءِ قرعہ اندازي ڪئي وئي تہ جنهن جو نالو نڪري ان کي دريا ۾ اڇلايو وڃي. ڪُٽي ۾ حضرت يونس عليه السلام جو نالو نڪتو ۽ ٻيڙي وارن پاڻ عليه السلام کي دريا ۾ اڇلائي ڇڏيو. ان وقت الله جي حڪم سان هڪ وڏي مڇي پاڻ عليه السلام کي ڳهي وئي ۽ پوءِ پاڻ عليه السلام کي دريا جي ڪناري تي اڇلائي ڇڏيو. حضرت يونس عليه السلام پنهنجي قوم کي مقرر وقت کان اڳ ڇڏي ڏنو هو. تنهن ڪري الله جو حڪم ٿيو تہ پاڻ عليه السلام ٻيهر پنهنجي قوم ڏانهن واپس وڃن. پاڻ عليه السلام ٻيهر وڃي تبليغ ڪئي تہ شهر جا سڀئي سوا لک ماڻهو مؤمن بڻجي ويا.

ان واقعي مان اندازو ٿيندو آهي تہ داعي لاءِ صبر انتهائي ضروري آهي. ايستائين جو ان وقت بہ جڏهن ماڻهن جو رويو بظاهر مايوسي پيدا ڪرڻ وارو هجي.

فَاسْتَفْتِهِمْ اَلِرَبِّكَ الْبَنَاتُ وَ لَهُمُ الْبَنُوْنَ ﴿۱۴۹﴾ اَمْ خَلَقْنَا الْمَلٰٓئِكَةَ اِنَاثًا وَّ هُمْ
شٰهِدُوْنَ ﴿۱۵۰﴾ اَلَآ اِنَّهُمْ مِّنْ اِفْكِهِمْ لَيَقُوْلُوْنَ ﴿۱۵۱﴾ وَلَدَ اللّٰهُ ۙ وَ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿۱۵۲﴾ اَصْطَفَى
الْبَنَاتِ عَلَى الْبَنِيْنَ ﴿۱۵۳﴾ مَا لَكُمْ ۟ كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ ﴿۱۵۴﴾ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿۱۵۵﴾ اَمْ لَكُمْ سُلْطٰنٌ
مُّبِيْنٌ ﴿۱۵۶﴾ فَاْتُوْا بِكِتٰبِكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۱۵۷﴾

پوءِ انهن کان پڇ ڇا توهان جي رب لاءِ ڌيئرون آهن ۽ انهن لاءِ پٽ! ڇا اسان ملائڪن کي عورت بڻايو ۽ اهي ڏسي رهيا هئا. خبردار! اهي (هٺرادو نهيل) ڪوڙ طور ايئن چوندا آهن تہ الله اولاد رکي ٿو ۽ بيشڪ اُهي ڪوڙا آهن. ڇا الله پٽن جي مقابلي ۾ ڌيئرون پسند ڪيون آهن. توهان کي ڇا ٿيو آهي توهان ڪهڙا فيصلا ڪندا آهيو. ڇا توهان غور نہ ٿا ڪريو. ڇا توهان وٽ ڪو پڌرو دليل آهي. جيڪڏهن اوهين سچا آهيو تہ پنهنجو ڪتاب آڻيو. ۱۴۹-۱۵۷

---

شيطاني ترغيب يا انسانن جي غلط تعبير سان اڪثر غيب جي حقيقتن جي باري ۾ وڏي گمراهي پيدا ٿي ويندي آهي. انهن مان هڪ ملائڪن جي متعلق ڪجهہ ماڻهن جو اهو عقيدو آهي تہ اهي الله جون ڌيئرون آهن. اِها انتهائي بي بنياد ۽ غيرمعقول ڳالهہ آهي. ان جو غلط هئڻ هڪ سادي ڳالهہ مان ثابت ٿي ويندو آهي تہ الله کي جيڪڏهن پنهنجي مدد لاءِ اولاد گهرجي ها تہ هو پاڻ لاءِ پٽ بڻائي ها، نہ وري ڌيئرون. ڇاڪاڻ تہ ڌيئرون تہ خود مشرڪن وٽ هڪ ڪمزوري جي علامت آهن.

وَ جَعَلُوْا بَيْنَهٗ وَ بَيْنَ الْجِنَّةِ نَسَبًا ؕ وَ لَقَدْ عَلِمَتِ الْجِنَّةُ اِنَّهُمْ لَمُحْضَرُوْنَ ﴿۱۵۸﴾ سُبْحٰنَ
اللّٰهِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿۱۵۹﴾ اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿۱۶۰﴾ فَاِنَّكُمْ وَ مَا تَعْبُدُوْنَ ﴿۱۶۱﴾ مَآ اَنْتُمْ
عَلَيْهِ بِفٰتِنِيْنَ ﴿۱۶۲﴾ اِلَّا مَنْ هُوَ صَالِ الْجَحِيْمِ ﴿۱۶۳﴾ وَ مَا مِنَّآ اِلَّا لَهٗ مَقَامٌ مَّعْلُوْمٌ ﴿۱۶۴﴾ وَّ اِنَّا
لَنَحْنُ الصَّآفُّوْنَ ﴿۱۶۵﴾ وَ اِنَّا لَنَحْنُ الْمُسَبِّحُوْنَ ﴿۱۶۶﴾

۽ انهن الله ۽ جنن ۾ بہ مائٽي مقرر ڪئي آهي ۽ بيشڪ جنن کي معلوم آهي تہ اهي (قيامت ۾ حساب لاءِ) حاضر ڪيا ويندا. الله پاڪ آهي انهن ڳالهين کان جيڪي اُهي ڪندا آهن. پر جيڪي الله جا چونڊيل ٻانها آهن. پوءِ توهان ۽ جن جي توهان عبادت ڪريو ٿا، الله کان ڪنهن کي گمراهہ نہ ٿا ڪري سگهو. پر انهيءَ کي جيڪو پاڻ دوزخ ۾ گهڙڻ وارو آهي ۽ اسان مان هر هڪ جو مقام مقرر آهي ۽ اسان (الله جي حضور) صف ٻڌڻ وارا آهيون ۽ اسان ان جي تسبيح ڪرڻ وارا آهيون. ۱۵۸-۱۶۶

---

گمراهہ قومون جنن جي باري ۾ اهڙي قسم جا عقيدا رکنديون آهن تہ جڻ جن الله جا دشمن ۽ مدمقابل آهن. سندن خيال آهي تہ جنن جي هٿ ۾ بدي جون طاقتون آهن ۽ فرشتن جي هٿ ۾ نيڪي جون طاقتون. اهي ٻئي جنهن کي چاهين مصيبت ۾ وجهي ڇڏين ۽ جنهن کي چاهين ڪامياب ڪن.

جيئن مجوسين جي عقيدي مطابق ٻه خدا آهن. يزدان نيڪي جو خدا آهي ۽ اهرمن برائي جو خدا.

انسان پنهنجي ڪوڙن مفروضن جي ڪري دنيا ۾ فرشتن جي عبادت ڪندو آهي ۽ فرشتن جو پاڻ اهو حال آهي جو اهي الله جي حضور تابعدار خادمن وانگر صفون ٻڌي بيٺا هوندا آهن ۽ هر وقت صرف هڪ الله جي وڏائي بيان ڪندا آهن.

وَ اِنْ كَانُوْا لَيَقُوْلُوْنَ﴿١٦٧﴾ لَوْ اَنَّ عِنْدَنَا ذِكْرًا مِّنَ الْاَوَّلِيْنَ﴿١٦٨﴾ لَكُنَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ﴿١٦٩﴾ فَكَفَرُوْا بِهٖ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ﴿١٧٠﴾ وَ لَقَدْ سَبَقَتْ كَلِمَتُنَا لِعِبَادِنَا الْمُرْسَلِيْنَ﴿١٧١﴾ اِنَّهُمْ لَهُمُ الْمَنْصُوْرُوْنَ﴿١٧٢﴾ وَ اِنَّ جُنْدَنَا لَهُمُ الْغٰلِبُوْنَ﴿١٧٣﴾ فَتَوَلَّ عَنْهُمْ حَتّٰى حِيْنٍ﴿١٧٤﴾ وَّ اَبْصِرْهُمْ فَسَوْفَ يُبْصِرُوْنَ﴿١٧٥﴾

۽ اهي چوندا آهن ته جيڪڏهن اسان وٽ اڳين جي ڪا تعليم (نصيحت) هجي ها ته اسان ضرور الله جا خالص ٻانها ٿيون ها. پوءِ انهن ان (قرآن) جو انڪار ڪيو، پوءِ جلد ئي اهي ڄاڻي وٺندا ۽ بيشڪ پنهنجي موڪليل ٻانهن لاءِ اسان جو واعدو اڳي ئي ٿي چڪو آهي ته بيشڪ اهي ئي فتح مند آهن ۽ بيشڪ اسان جو لشڪر ئي غالب آهي. پوءِ ڪانئن هڪ وقت تائين منهن موڙ ۽ ڪين ڏسندو رهه. پوءِ اهي به سگهوئي ڏسندا. ١٦٧-١٧٥

---

قديم زماني ۾ عربن جو اهو حال هو جو جڏهن اهي ٻڌندا هئا ته يهودين ۽ ٻين قومن پنهنجن رسولن جو انڪار ڪيو ته اهي فخر طور چوندا هئا ته اهي ماڻهو تمام بدبخت آهن، جيڪڏهن اسان وٽ رسول اچي ها ته اسان ان جي قدر ڪريون ها ۽ ان جو ساٿ ڏيون ها. پر جڏهن انهن وٽ الله هڪ رسول موڪليو ته هو ان جا منڪر ٿي ويا، جهڙي طرح ٻيا ماڻهو پنهنجن رسولن جا منڪر ٿيا هئا، اهڙو حق ماڻهو ڪي چڱي طرح ڏسڻ ۾ ايندو آهي جنهن جي چوٽ ٻين تي پوندي هجي، پر جنهن حق جي نشاني تي خود ماڻهو جي پنهنجي ذات هجي، ان کان اهڙي طرح بيخبر ٿي ويندو آهي ڄڻ ان کي ڏسڻ لاءِ ان وٽ اکيون ئي نه آهن.

حق جي داعين جي ڳالهه کي ماڻهو نظرانداز ڪندا آهن. ڪين وسري ٿو وڃي ته حق جا داعي هن دنيا ۾ الله جو لشڪر آهن. حق جي داعين جي ڳالهه هرحال ۾ بلند ٿي رهندي آهي، چاهي مخالفت ڪرڻ وارا ان جي ڪيتري ئي گهڻي مخالفت ڪن.

اَفَبِعَذَابِنَا يَسْتَعْجِلُوْنَ﴿١٧٦﴾ فَاِذَا نَزَلَ بِسَاحَتِهِمْ فَسَآءَ صَبَاحُ الْمُنْذَرِيْنَ﴿١٧٧﴾ وَ تَوَلَّ عَنْهُمْ حَتّٰى حِيْنٍ﴿١٧٨﴾ وَّ اَبْصِرْ فَسَوْفَ يُبْصِرُوْنَ﴿١٧٩﴾ سُبْحٰنَ رَبِّكَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوْنَ﴿١٨٠﴾ وَ سَلٰمٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ﴿١٨١﴾ وَ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ﴿١٨٢﴾

ڇا اهي اسان جي عذاب لاءِ جلدي ڪري رهيا آهن. پوءِ جڏهن اهو سندن اڱڻ ۾ لهندو ته اُهو صبح ان لاءِ ڏاڍو برو هوندو، جن کي ڊيڄاريو ويو هو ۽ ڪانئن هڪ وقت تائين منهن موڙ ۽ ڏسندو رهه. پوءِ اُهي به سگهوئي ڏسندا، پاڪ آهي تنهنجو رب، عزت جو مالڪ انهن ڳالهين کان جيڪي اهي ماڻهو بيان ڪندا آهن ۽ سلام هجي پيغمبرن تي ۽ سڀ ساراهه الله لاءِ آهي جيڪو رب آهي سڀني جهانن جو. ١٧٦-١٨٢

---

پيغمبرماڻهن ڪي چوندا هئا تہ جيڪڏهن توهان منهنجي ڳالهہ نہ مڃي تہ توهان تي الله جو عذاب اچي ويندو. پر ماڻهو ان ڳالهہ ڪي بي حقيقت سمجهندا رهيا ۽ ان جو مذاق اُڏائيندا رهيا. ان جو سبب اهو هو تہ ڪين سندن پيغمبر ان ڪان تمام گهٽ نظر ايندو هو جو ان جي ڳالهہ نہ مڃڻ تي انهن تي الله جو عذاب اچي.

جيئن تہ سندن ٺٺولين جي باوجود ايئن نہ ٿيو جو فوراً انهن تي عذاب اچي وڃي. ڇاڪاڻ تہ عذاب الاهي جي اچڻ لاءِ حجت پوري ٿيڻ ضروري آهي. ان ڪري پيغمبرن ڪي حڪم هوندو آهي تہ اهي صبر ۽ درگذر ڪندا رهن. ايستائين جو الله جي علم مطابق مقرر وقت پورو ٿي وڃي.

ركوعاتها ٥ (٣٨) سُوْرَةُ صٓ مَكِّيَّةٌ (٣٨) اٰياتها ٨٨

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

صٓ وَ الۡقُرۡاٰنِ ذِی الذِّکۡرِ ؕ﴿۱﴾ بَلِ الَّذِيۡنَ کَفَرُوۡا فِیۡ عِزَّةٍ وَّ شِقَاقٍ ﴿۲﴾ کَمۡ اَهۡلَکۡنَا مِنۡ قَبۡلِهِمۡ مِّنۡ قَرۡنٍ فَنَادَوۡا وَّ لَاتَ حِيۡنَ مَنَاصٍ ﴿۳﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

ص. قسم آهي نصيحت واري قرآن جو. بلڪ جن ماڻهن انڪار ڪيو سي تڪبر ۽ ضد ۾ آهن. انهن ڪان اڳ اسان ڪيترين ئي قومن هلاڪ ڪري ڇڏيون. پوءِ اهي دانهون ڪرڻ لڳا ۽ اهو ڇوٽڪاري جو وقت نہ هو. ١-٣

---

”ذڪر“ جي اصل معنيٰ ياد ڏيارڻ جي آهي. ياد ڪنهن اهڙي شيءِ جي ڏياري ويندي آهي جيڪا اڳ ۾ ئي موجود هجي. قرآن جي ذي الذڪر هئڻ جو مطلب اهو آهي تہ قرآن انهن حقيقتن ڪي مڃڻ جي دعوت ڏي ٿو جيڪي انساني فطرت ۾ اڳ ئي موجود آهن. قرآن جي ڪا ڳالهہ اجا تائين حقيقت جي خلاف يا فطرت جي خلاف ثابت نہ ٿي آهي. اهوئي ان ڳالهہ جو ڪافي ثبوت آهي تہ قرآن سراسر حق آهي. ان جي باجود جيڪي ماڻهو قرآن ڪي نہ مڃن تہ سندن نہ مڃڻ جو سبب يقيني طور تي نفسياتي آهي. نہ وري عقل جي ڪري. سندن نہ مڃڻ ڪنهن دليل جي ڪري نہ آهي. بلڪ ان ڪري آهي جو قرآن ڪي مڃي سندن وڏائي ختم ٿي ويندي.

قرآن ان توحيد جي دعوت جو تسلسل آهي جيڪا اڳين هر دور ۾ مختلف نبين ذريعي جاري رهي آهي. گذريل زماني ۾ جن ماڻهن ان دعوت جو انڪار ڪيو. اهي هلاڪ ڪيا ويا. موجوده انڪار ڪرڻ وارن ڪي ماضي جي منڪرن جي ان انجام مان سبق وٺڻ گهرجي.

وَ عَجِبُوۡۤا اَنۡ جَآءَهُمۡ مُّنۡذِرٌ مِّنۡهُمۡ ۫ وَ قَالَ الۡکٰفِرُوۡنَ هٰذَا سٰحِرٌ کَذَّابٌ ۚ﴿۴﴾ اَجَعَلَ الۡاٰلِهَةَ اِلٰهًا وَّاحِدًا ۚۖ اِنَّ هٰذَا لَشَیۡءٌ عُجَابٌ ﴿۵﴾ وَ انۡطَلَقَ الۡمَلَاُ مِنۡهُمۡ اَنِ امۡشُوۡا وَ اصۡبِرُوۡا عَلٰۤی اٰلِهَتِکُمۡ ۚۖ اِنَّ هٰذَا لَشَیۡءٌ يُّرَادُ ۖ﴿۶﴾ مَا سَمِعۡنَا بِهٰذَا فِی الۡمِلَّةِ الۡاٰخِرَةِ ۚۖ اِنۡ

هٰذَآ اِلَّا اخْتِلَاقٌ ۚ﴿٧﴾ ءَاُنْزِلَ عَلَيْهِ الذِّكْرُ مِنْۢ بَيْنِنَا ؕ بَلْ هُمْ فِيْ شَكٍّ مِّنْ ذِكْرِيْ ۚ بَلْ
لَّمَّا يَذُوْقُوْا عَذَابِ ؕ﴿٨﴾

۽ منجهائن هڪ ڊيڄاريندڙ وٽن آيو ته اُهي تعجب ڪرڻ لڳا ۽ انڪار ڪرڻ وارن چيو ته هي جادوگر آهي، ڪوڙو آهي. ڇا هُن سمورن معبودن جي جاءِ تي هڪ معبود ڪيو آهي، هي ته ڏاڍي عجيب ڳالھ آهي ۽ سندن سردار اٿيا ۽ (چيو) هلو ۽ پنهنجن معبودن تي محڪم رهو، بيشڪ هي (دين) اهڙو آهي جو (ان ۾) ڪو غرض رکيو ويو آهي. اسان اهڙي ڳالھ پوئين مذهب ۾ نه ٻڌي، هي ته رڳو هڪ ٺاهه آهي. ڇا اسان سڀني مان ان ماڻھو تي ئي الله جو ڪلام نازل ڪيو ويو. بلڪ اهي ماڻھو منهنجي نصيحت کان شڪ ۾ آهن بلڪ انهن اڃا تائين منهنجي عذاب جو مزو نه چکيو آهي. ٤-٨

---

”پيغمبر اسلام“ جو نالو اڄ هڪ عظيم نالو آهي. ڇاڪاڻ ته بعد جي پُر عظمت تاريخ ان کي عظيم بڻائي ڇڏيو، پر شروع ۾ جڏهن پاڻ ﷺ مڪي ۾ نبوت جي دعويٰ ڪئي ته ماڻهن کي پاڻ ﷺ هڪ معمولي انسان ڏسڻ ۾ ايندا هئا. ماڻهن لاءِ اهو يقين ڪرڻ مشڪل ٿي ويو ته اهوئي معمولي انسان اهو ماڻھو آهي جنهن کي الله پنهنجو ڪلام نازل ڪرڻ لاءِ چونڊيو آهي. جڏهن تاريخ ٺھجي وئي هجي ته پوءِ هڪ انڌو ماڻھو به پيغمبر کي سڃاڻي وٺندو آهي، پر تاريخ ٺهڻ کان پهرين پيغمبر کي سڃاڻڻ لاءِ جوهر شناس هئڻ جي صلاحيت گھربل آهي ۽ اها صلاحيت اُها آهي جيڪا هر دور ۾ سڀني کان گهٽ نظر ايندي آهي.

قرآن جو غيرمعمولي طور تي اثرائتو ڪلام مخالفن کي حيران ڪري ڇڏيندو هو. پر صاحب قرآن جي معمولي تصوير ٻيهر انهن کي شڪ ۾ وجهي ڇڏيندي هئي، ان ڪري اهي ان کي رد ڪرڻ لاءِ قسم قسم جون ڳالهيون ڪندا هئا. ڪڏهن ان کي جادوگر چوندا هئا، ڪڏهن ڪوڙو، ڪڏهن چوندا هئا ته ان تبليغ جي پويان ڪا مادي لالچ شامل آهي. ڪڏهن چوندا هئا ته ايئن ڪيئن ٿي سگهي ٿو جو اسان جي وڏن بزرگن جي ڳالھ صحيح نه هجي ۽ هن معمولي ماڻهن جي ڳالھ صحيح هجي.

”پنهنجن معبودن تي محڪم رهو“ جا لفظ ٻڌائين ٿا ته دليل جي ميدان ۾ اُهي خود کي عاجز ڏسي رهيا هئا، ان ڪري انهن تعصب جي نعري ذريعي پنهنجن ماڻهن کي قرآن جي سيلاب کان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي.

اَمْ عِنْدَهُمْ خَزَآئِنُ رَحْمَةِ رَبِّكَ الْعَزِيْزِ الْوَهَّابِ ۚ﴿٩﴾ اَمْ لَهُمْ مُّلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ
وَمَا بَيْنَهُمَا ۫ فَلْيَرْتَقُوْا فِي الْاَسْبَابِ ﴿١٠﴾ جُنْدٌ مَّا هُنَالِكَ مَهْزُوْمٌ مِّنَ الْاَحْزَابِ ﴿١١﴾
كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّعَادٌ وَّفِرْعَوْنُ ذُو الْاَوْتَادِ ۙ﴿١٢﴾ وَثَمُوْدُ وَقَوْمُ لُوْطٍ وَّاَصْحٰبُ
ع ١٤ ١٠ لْـَٔيْكَةِ ؕ اُولٰٓئِكَ الْاَحْزَابُ ﴿١٣﴾ اِنْ كُلٌّ اِلَّا كَذَّبَ الرُّسُلَ فَحَقَّ عِقَابِ ۧ﴿١٤﴾ وَمَا يَنْظُرُ هٰٓؤُلَآءِ
اِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً مَّا لَهَا مِنْ فَوَاقٍ ﴿١٥﴾ وَقَالُوْا رَبَّنَا عَجِّلْ لَّنَا قِطَّنَا قَبْلَ يَوْمِ
الْحِسَابِ ﴿١٦﴾

ڇا تنهنجي رب جي رحمت جا خزانا انهن وٽ آهن، جيڪو غالب آهي، فياض آهي. ڇا آسمانن ۽ زمين ۽ انهن جي وچ ۾ جيڪي شيون آهن. انهن جي بادشاهي سندن اختيار ۾ آهي. پوءِ هو ڏاڪڻون لڳائي (مٿي) چڙهي وڃن. شڪست کاڌل لشڪرن مان اهي (ڪافر) هتي هڪ (گڏ ٿيل) لشڪر آهي. انهن کان اڳ ۾ نوح جي قوم ۽ عاد ۽ ميخن واري فرعون ۽ ثمود ۽ لوط جي قوم ۽ اصحاب ايڪ ڪوڙو ڄاتو. اهي وڏيون جماعتون هيون تن سڀني پيغمبرن کي ڪوڙو ڄاڻيو. تنهن ڪري منهنجو عذاب نازل ٿي رهيو ۽ اهي ماڻهو رڳو هڪ رڙ (آواز) جا منتظر آهن جنهن کي ڪا ساهي نه هوندي ۽ چوندا آهن ته اي اسان جا رب! اسان جو حصو (عذاب) اسان کي حساب جي ڏينهن کان اڳ ۾ ڏئي ڇڏ. ٩-١٦

---

الله جي هدايت واري رحمت اهڙي طرح تقسيم نه ٿيندي آهي ته جنهن ماڻهو کي دنياوي عظمت مليل هجي ان ئي کي هدايت به ڏني وڃي. جيڪڏهن دنياوي عظمت ماڻهن کي الله وٽ عظيم ڪرڻ واري هجي ها ته اهڙن ماڻهن لاءِ ممڪن هجي ها ته اهي جنهن شخص کي چاهين الله جي رحمت پهچائين ۽ جنهن کان چاهين رحمت کي روڪي ڇڏين. پر حقيقت اها آهي ته الله پنهنجي رحمت جي تقسيم خود پنهنجي معيار مطابق ڪندو آهي، نه وري ظاهر پرست انسانن جي ٺهيل معيار تي.

پيغمبر جو انڪار ڪرڻ وارا چوندا آهن ته جنهن خدائي عذاب کان تون اسان کي ڊيڄاري رهيو آهين، ان خدائي عذاب کي آڻ. اها جرائت انهن ۾ ان ڪري پيدا ٿيندي هئي جو اهي سمجهندا هئا ته انهن تي الله جو عذاب ڪڏهن نه ايندو. ڪين ٻڌايو ويو ته جن ٻتن جي پروسي تي اوهان پاڻ کي محفوظ سمجهي رهيا آهيو. اهڙي قسم جي ٻتن جي پروسي تي اڳين قومن به پاڻ کي محفوظ سمجهيو ۽ پنهنجن رسولن سان سرڪشي ڪئي، پر اهي سڀ جا سڀ هلاڪ ڪيا ويا. پوءِ توهان ڪهڙي طرح بچندو.

اِصۡبِرۡ عَلٰی مَا یَقُوۡلُوۡنَ وَ اذۡکُرۡ عَبۡدَنَا دَاوٗدَ ذَا الۡاَیۡدِ ۚ اِنَّہٗۤ اَوَّابٌ ﴿۱۷﴾ اِنَّا سَخَّرۡنَا الۡجِبَالَ مَعَہٗ یُسَبِّحۡنَ بِالۡعَشِیِّ وَ الۡاِشۡرَاقِ ﴿ۙ۱۸﴾ وَ الطَّیۡرَ مَحۡشُوۡرَۃً ؕ کُلٌّ لَّہٗۤ اَوَّابٌ ﴿۱۹﴾ وَ شَدَدۡنَا مُلۡکَہٗ وَ اٰتَیۡنٰہُ الۡحِکۡمَۃَ وَ فَصۡلَ الۡخِطَابِ ﴿۲۰﴾

جيڪو ڪجهه اهي چوندا آهن ان تي صبر ڪر ۽ اسان جي ٻانهي دائود کي ياد ڪر. جيڪو قوت وارو ۽ رجوع ڪرڻ وارو هو. اسان جبلن کي سندس تابع ڪيو هو جو اهي ساڻس صبح ۽ شام تسبيح ڪندا هئا ۽ گڏ ڪيل پکين کي به. سڀ الله ڏانهن رجوع ڪرڻ وارا هئا ۽ اسان سندس بادشاهي محڪم ڪئي ۽ ان کي دانائي عطا ڪئي ۽ معاملن جو فيصلو ڪرڻ جي صلاحيت ڏني. ١٧-٢٠

---

دين ۾ صبر جي وڏي اهميت آهي. پر انسان جي اذيتن تي صبر اهوئي ماڻهو ڪري سگهي ٿو جيڪو انسان جي معاملي کي خدا جي حوالي ڪري، جيڪو ماڻهو الله جي حمد ۽ تسبيح ۾ ٻڏل هجي. ان ئي جي لاءِ اهو ممڪن آهي جو هو انسان طرفان پيش ناخوشگوار ڳالهين کي نظرانداز ڪري ڇڏي.

حضرت دائود عليه السلام انهن صفتن جو هڪ اعليٰ مثال هئا. ان کي الله تعاليٰ غيرمعمولي قوت ۽ سلطنت ڏني هئي. پر سندس حال اهو هو جو هو هر معاملي ۾ الله ڏانهن رجوع ڪندا هئا. هو ڪائنات ۾ بلند ٿيڻ واري خدائي تسبيح ۾ گم رهندا هئا هو جبلن ۾ ويهي ايتري وجد سان الله جي حمد جو نغمو بلند ڪندا هئا جو

سڄو ماحول سندس هم آواز بڻجي ويندو هو. پکي ۽ جبل به سندس تسبيح ۾ شامل ٿي ويندا هئا.

الله تعاليٰ حضرت دائودؑ کي جيڪا حڪومت ڏني هئي، اها نهايت مستحڪم حڪومت هئي. ان استحڪام جو راز دانائي ۽ فيصلو ڪرڻ جي قوت هئي. دانائي مان مراد اها آهي ته هو معاملن ۾ هميشه حڪيماڻو ۽ دانشمنداڻو انداز اختيار ڪندا هئا ۽ فيصلي جي صلاحيت جو مطلب اهو آهي جو هو بروقت صحيح فيصلو ڪرڻ جي صلاحيت رکندا هئا. اهي ئي ٻه شيون آهن جيڪي ڪنهن حڪمران کي صالح حڪمران بڻائينديون آهن. ان جي اندر حڪمت جو هجڻ ان ڳالهه جي ضمانت آهي جو هو ڪو اهڙو قدم نه کڻندو جيڪو فائدي ڪان وڌيڪ نقصان جو سبب بڻجي ۽ فيصلي جي صلاحيت ان جي ضمانت آهي ته سندس فيصلو هميشه منصفاڻو فيصلو هوندو.

وَ هَلْ اَتٰىكَ نَبَؤُا الْخَصْمِ ۘ اِذْ تَسَوَّرُوا الْمِحْرَابَ ﴿٢١﴾ اِذْ دَخَلُوْا عَلٰى دَاوٗدَ فَفَزِعَ مِنْهُمْ قَالُوْا لَا تَخَفْ ۚ خَصْمٰنِ بَغٰى بَعْضُنَا عَلٰى بَعْضٍ فَاحْكُمْ بَيْنَنَا بِالْحَقِّ وَ لَا تُشْطِطْ وَ اهْدِنَآ اِلٰى سَوَآءِ الصِّرَاطِ ﴿٢٢﴾

۽ ڇا توکي خبر پهتي آهي، جهڳڙو ڪندڙن جي جڏهن اهي ڀت ٽپي عبادت خاني ۾ آيا. جڏهن اهي دائود وٽ پهتا. تڏهن هو ڪانئن گهٻرائجي ويو، انهن چيو ته نه ڊڄ اسان ٻه جهڳڙو ڪندڙ آهيون. اسان مان هڪڙي ٻئي تي زيادتي ڪئي آهي. تنهن ڪري اسان جي وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪر. بي انصافي نه ڪر ۽ اسان جي سڌي واٽ ڏانهن رهنمائي ڪر. ٢١-٢٢

---

چيو وڃي ٿو حضرت دائودؑ هر ٽن ڏينهن کي مختلف ڪمن لاءِ مقرر ڪيو هو. پهريون ڏينهن دربار ۽ ڪيسن يا مقدمن جا فيصلا ڪرڻ لاءِ، ٻيو ڏينهن پنهنجي پار ٻچن سان رهڻ لاءِ. ٽيون ڏينهن الڳ ٿي ڪري خالص الله جي عبادت لاءِ. هڪڙي ڏينهن جڏهن ته سندس عبادت جو ڏينهن هو ۽ هو پنهنجي محل جي خاص حصي ۾ اڪيلا عبادت ۾ مشغول هئا ته ٻه ماڻهو ڀت ٽپي اندر داخل ٿيا ۽ عبادت جي ڪمري ۾ آيا. اها هڪ غيرمعمولي ڳالهه هئي. ان ڪري پاڻؑ ڪجهه گهٻرائجي ويا. انهن ٻنهي ماڻهن اطمينان ڏياريو ۽ چيو ته اسان ٻه ڌريون آهيون. توهان ڪان هڪ جهڳڙي جو فيصلو وٺڻ لاءِ هتي حاضر ٿيا آهيون.

اِنَّ هٰذَآ اَخِيْ ۫ لَهٗ تِسْعٌ وَّ تِسْعُوْنَ نَعْجَةً وَّلِيَ نَعْجَةٌ وَّاحِدَةٌ ۫ فَقَالَ اَكْفِلْنِيْهَا وَ عَزَّنِيْ فِي الْخِطَابِ ﴿٢٣﴾ قَالَ لَقَدْ ظَلَمَكَ بِسُؤَالِ نَعْجَتِكَ اِلٰى نِعَاجِهٖ ؕ وَ اِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ الْخُلَطَآءِ لَيَبْغِيْ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَ قَلِيْلٌ مَّا هُمْ ؕ وَ ظَنَّ دَاوٗدُ اَنَّمَا فَتَنّٰهُ فَاسْتَغْفَرَ رَبَّهٗ وَ خَرَّ رَاكِعًا وَّ اَنَابَ ﴿٢٤﴾ السجدة فَغَفَرْنَا لَهٗ ذٰلِكَ ؕ وَ اِنَّ لَهٗ عِنْدَنَا لَزُلْفٰى وَ حُسْنَ مَاٰبٍ ﴿٢٥﴾

هي منهنجو پاڻ آهي. هن وٽ نوانوي رڍون آهن ۽ مون وٽ صرف هڪ رڍ آهي. پوءِ هو چوي ٿو ته اها به منهنجي حوالي ڪر ۽ ڳالهائڻ ۾ مون کي دٻائي ٿو. دائود چيو ته هن تنهنجي رڍ کي پنهنجن رڍن سان ملائڻ جو مطالبو ڪري بيشڪ توتي ظلم ڪيو آهي. بيشڪ اڪثر ڀائيوار هڪ ٻئي تي زيادتي ڪندا آهن، سواءِ انهن جي جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ۽ اهڙا ماڻهو تمام گهٽ آهن ۽ دائود ڄاتو ته اسان ان جو امتحان ورتو آهي، پوءِ ان پنهنجي رب کان معافي گهري ۽ سجدي ۾ ڪِري پيو ۽ رجوع ڪيائين. پوءِ ڪيس اِهو معاف ڪيو سون. بيشڪ ان کي اسان وٽ مرتبو آهي ۽ موٽڻ جو چڱو هنڌ آهي. ٢٣-٢٥

---

اچڻ وارن ٻن ماڻهن جيڪو ڪيس پيش ڪيو، اهو ڪو حقيقي ڪيس نه هو. بلڪ مثال جي زبان ۾ خود حضرت دائودؑ کي ڪنهن ڳالهه تي تنبيهه ڪرڻ هو تنهن ڪري ڪيس جو فيصلو ڏيندي پاڻؑ کي پنهنجو اهو معاملو ياد اچي ويو جيڪو ان مثال سان ملندڙ هو. پاڻؑ فوراً ان سان رجوع ڪيو ۽ الله جي اڳيان سجدي ۾ ڪِري پيا.

حضرت دائودؑ کي ان وقت زبردست اقتدار حاصل هو. پر انهن اچڻ وارن کي نه ته ڪا سزا ڏني ۽ نه انهن کي دڙڪا ڏنا. اهو ئي الله جي سچي ٻانهن جو طريقو آهي، انهن ۾ ڪنهن به معاملي ۾ ضد نه هوندو آهي. انهن کي جڏهن سندن ڪنهن غلطي ڏانهن توجهه ڏياري وڃي ته اهي فوراً ان کي مڃي پنهنجي اصلاح ڪري وٺندا آهن، چاهي اُهي بااقتدار حيثيت جا مالڪ هجن، چاهي توجهه ڏيارڻ واري انهن کي بي ڍنگهي انداز ۾ متوجهه ڪيو هجي.

يٰدَاوٗدُ اِنَّا جَعَلْنٰكَ خَلِيْفَةً فِي الْاَرْضِ فَاحْكُمْ بَيْنَ النَّاسِ بِالْحَقِّ وَ لَا تَتَّبِعِ الْهَوٰى فَيُضِلَّكَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ يَضِلُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌۢ بِمَا نَسُوْا يَوْمَ الْحِسَابِ ﴿۲۶﴾

اي دائود! بيشڪ اسان توکي زمين ۾ خليفو (حاڪم) مقرر ڪيو، تنهن ڪري ماڻهن جي وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪر ۽ خواهش جي پيروي نه ڪر، اها توکي الله جي واٽ کان ڀلائيندي. جيڪي ماڻهو الله جي واٽ کان ڀلجن ٿا تن لاءِ سخت عذاب آهي. ان ڪري جو انهن حساب جي ڏينهن کي وساري ڇڏيو. ٢٦

---

هڪ حاڪم هميشه ٻن شين جي وچ ۾ هوندو آهي يا ته هو معاملن جو فيصلو پنهنجي خواهش مطابق ڪندو يا حق جي اصول مطابق. جيڪو حاڪم معاملن جو فيصلو پنهنجي خواهش جي مطابق ڪندو، اهو راهه کان ڀٽڪي ويو، الله وٽ ان جي سخت پڪڙ ٿيندي، ان جي ابتڙ جيڪو حاڪم معاملن جو فيصلو حق ۽ انصاف جي اصول مطابق ڪري، اهوئي سڌي واٽ تي آهي. الله وٽ ان کي بي حساب انعام ڏنا ويندا.

اها هدايت جهڙي طرح هڪ حاڪم لاءِ آهي، اهڙي طرح ئي اها هڪ عام انسان جي لاءِ به آهي، هر ماڻهو کي پنهنجي اختيار جي دائري ۾ اهو ئي ڪرڻو آهي. جيڪو هن آيت ۾ حاڪم لاءِ ٻڌايو ويو آهي.

وَ مَا خَلَقْنَا السَّمَآءَ وَ الْاَرْضَ وَ مَا بَيْنَهُمَا بَاطِلًا ؕ ذٰلِكَ ظَنُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۚ فَوَيْلٌ

لِّلَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا مِنَ النَّارِ ﴿٢٧﴾ اَمۡ نَجۡعَلُ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ كَالۡمُفۡسِدِيۡنَ
فِى الۡاَرۡضِ اَمۡ نَجۡعَلُ الۡمُتَّقِيۡنَ كَالۡفُجَّارِ ﴿٢٨﴾ كِتٰبٌ اَنۡزَلۡنٰهُ اِلَيۡكَ مُبٰرَكٌ لِّيَدَّبَّرُوۡۤا اٰيٰتِهٖ
وَ لِيَتَذَكَّرَ اُولُوا الۡاَلۡبَابِ ﴿٢٩﴾

۽ اسان زمين ۽ آسمان ۽ جيڪو انهن جي وچ ۾ آهي اجايو نہ بڻايو آهي. اهو انهن ماڻهن جو گمان آهي جن انڪار ڪيو. پوءِ جن ماڻهن انڪار ڪيو تن لاءِ باهہ جي بربادي آهي. ڇا اسان انهن ماڻهن جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا. انهن جي برابر ڪنداسون جيڪي زمين ۾ فساد ڪرڻ وارا آهن يا اسان پرهيزگارن کي بڇڙن وانگر ڪنداسون ڇا. هي هڪ برڪت وارو ڪتاب آهي، جيڪو اسان توڏانهن نازل ڪيو آهي، تہ جيئن ماڻهو ان جي آيتن تي غور ڪن ۽ تہ جيئن عقل وارا ان مان نصيحت حاصل ڪن. ٢٧-٢٩

---

دنيا جي شين تي غور ڪجي تہ خبر پئي ٿي تہ دنيا جو پورو نظام نهايت حڪمت وارن بنيادن تي قائم آهي. حالانڪ اهو بہ ممڪن هو تہ اهو هڪ ابتو سبتو نظام هجي ها ۽ ان ۾ ڪا ڳالهہ يقيني نہ هجي ها. پر ممڪن امڪانن ۾ يا هڪ مناسب ترين امڪان جو هجڻ ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ هن دنيا کي پيدا ڪرڻ واري ان کي هڪ بامقصد منصوبي تحت بڻايو آهي، پوءِ جيڪا دنيا پنهنجي ابتدا ۾ بامقصد هجي اُها پنهنجي اختتام ۾ بي مقصد ڪيئن ٿي سگهي ٿي.

اهڙي طرح هن دنيا ۾ هر ماڻهو آزاد ۽ خودمختيار آهي. مشاهدو ٻيهر ٻڌائي ٿو تہ ماڻهن ۾ ڪو شخص اهو آهي جيڪو حقيقت جو اعتراف ڪري ٿو ۽ پنهنجي اختيار سان پاڻ کي سچائي ۽ انصاف جو پابند بڻائي ٿو، ان جي مقابلي ۾ ٻيو شخص اهو آهي جيڪو حقيقت جو اعتراف نہ ٿو ڪري، اهو آزادي سان جيڪو چاهي ٿو ڳالهائي ٿو ۽ جهڙي طرح چاهي ٿو عمل ڪري ٿو. عقل ان ڳالهہ کي تسليم نہ ٿو ڪري تہ جڏهن هتي ٻن قسمن جا انسان آهن تہ سندن انجام بہ هڪ جهڙو ٿيندو.

دنيا جي ان صورتحال کي سامهون رکيو وڃي تہ زندگي جي باري ۾ قرآن جو بيان ئي حقيقت جي مطابق نظر ايندو، نہ وري انهن ماڻهن جو بيان جيڪي زندگي جي تشريح ان جي ابتڙ انداز ۾ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

وَ وَهَبۡنَا لِدَاوٗدَ سُلَيۡمٰنَ نِعۡمَ الۡعَبۡدُ اِنَّهٗۤ اَوَّابٌ ﴿٣٠﴾ اِذۡ عُرِضَ عَلَيۡهِ بِالۡعَشِىِّ الصّٰفِنٰتُ
الۡجِيَادُ ﴿٣١﴾ فَقَالَ اِنِّىۡۤ اَحۡبَبۡتُ حُبَّ الۡخَيۡرِ عَنۡ ذِكۡرِ رَبِّىۡ حَتّٰى تَوَارَتۡ بِالۡحِجَابِ ﴿٣٢﴾
رُدُّوۡهَا عَلَىَّ فَطَفِقَ مَسۡحًۢا بِالسُّوۡقِ وَ الۡاَعۡنَاقِ ﴿٣٣﴾

۽ اسان دائود کي سليمان عطا ڪيو. بهترين ٻانهو پنهنجي رب ڏانهن گهڻو رجوع ڪرڻ وارو. جڏهن شام جي وقت ان جي سامهون تکا (ڊوڙندڙ) عمده گهوڙا پيش ڪيا ويا تہ ان چيو تہ مون مال جي محبت کي دوست رکيو پنهنجي رب جي ياد ڪان، ايستائين جو (سج) اوٽ جي پٺيان لڪو. انهن کي مون وٽ موٽائي آڻيو، پوءِ ڇنگهن ڪنڌن تي هٿ گهمائڻ لڳو. ٣٠-٣٣

---

حضرت سليمان بن دائود عليہ السلام هڪ عظيم سلطنت جا حڪمران هئا هڪ ڏينهن سندس فوج جا

اصيل ۽ تيز رفتار گهوڙا سندس سامهون پيش ڪيا ويا، پوءِ انهن جي ڊوڙ تي ايستائين جو گهوڙا ڊوڙندي ڊوڙندي نظرن کان گم ٿي ويا ۽ پوءِ اهي واپس موٽي آيا.

اهڙي قسم جو منظر هميشه نهايت شاندار هوندو آهي. ان کي ڏسي عام انسان فخر ۽ تڪبر ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي، پر سليمانؑ جو حال اِهو ٿيو جو هو ان منظر کي ڏسي الله کي ياد ڪرڻ لڳا. انهن چيو مون هي گهوڙا پنهنجي شان ڏيکارڻ لاءِ پسند نه ڪيا آهن. بلڪ صرف الله جي لاءِ پسند ڪيا آهن، گهوڙي جي شڪل ۾ انهن کي الله جي عظيم ڪاريگري نظر آئي ۽ هو الله جي عظمت جي اعتراف طور گهوڙن جي ڪنڌن ۽ پنين تي هٿ ڦيرڻ لڳو. مؤمن هر شيءِ ۾ الله جو شان ڏسي ٿو ۽ غير مؤمن هر شيءِ ۾ پنهنجو شان.

وَ لَقَدۡ فَتَنَّا سُلَيۡمٰنَ وَ اَلۡقَيۡنَا عَلٰى كُرۡسِيِّهٖ جَسَدًا ثُمَّ اَنَابَ﴿۳۴﴾ قَالَ رَبِّ اغۡفِرۡ لِىۡ وَهَبۡ لِىۡ مُلۡكًا لَّا يَنۡۢبَغِىۡ لِاَحَدٍ مِّنۡۢ بَعۡدِىۡ‌ۚ اِنَّكَ اَنۡتَ الۡوَهَّابُ﴿۳۵﴾ فَسَخَّرۡنَا لَهُ الرِّيۡحَ تَجۡرِىۡ بِاَمۡرِهٖ رُخَآءً حَيۡثُ اَصَابَ ۙ﴿۳۶﴾ وَ الشَّيٰطِيۡنَ كُلَّ بَنَّآءٍ وَّ غَوَّاصٍ ۙ﴿۳۷﴾ وَّ اٰخَرِيۡنَ مُقَرَّنِيۡنَ فِى الۡاَصۡفَادِ﴿۳۸﴾ هٰذَا عَطَآؤُنَا فَامۡنُنۡ اَوۡ اَمۡسِكۡ بِغَيۡرِ حِسَابٍ﴿۳۹﴾ وَ اِنَّ لَهٗ عِنۡدَنَا لَزُلۡفٰى وَ حُسۡنَ مَاٰبٍ﴿۴۰﴾ ع ١٢

۽ اسان سليمان کي آزمايو ۽ اسان سندس تخت تي هڪ ڌڙ اڇلايو سون. پوءِ ان رجوع ڪيو. ان چيو ته اي منهنجا رب! مون کي معاف ڪر ۽ مون کي اهڙي بادشاهي عطا ڪر جيڪا مون کان پوءِ ڪنهن کي به نه جڳائي. بيشڪ تون بهترين عطا ڪندڙ آهين. پوءِ اسان هوا کي سندس تابع ڪيو. اها ان جي حڪم سان جتي گهرندو هو اوڏانهن آرام سان هلندي هئي ۽ جنن کي به سندس تابع ڪيو. هر طرح جون عمارتون اڏيندڙ ۽ (درياءَ) ٽٻي ڏيندڙ ۽ ٻيا زنجيرن ۾ جڪڙيل. هي اسان جي عطا آهي پوءِ احسان ڪر يا روڪي ڇڏ ته توتي حساب نه آهي ۽ ان کي اسان وٽ مرتبو آهي ۽ چڱو موٽڻ جو هنڌ آهي. ٣٤-٤٠

---

هر انسان کان ڪوتاهي ٿيندي آهي، پر الله جي نيڪ ٻانهن لاءِ ڪوتاهي هڪ عظيم پلائي ٻڻجي ويندي آهي. ڇاڪاڻ ته اهي ڪوتاهي کان پوءِ وڌيڪ خشوع سان پنهنجي رب ڏانهن موٽندا آهن ۽ پوءِ وڌيڪ انعام جا مستحق قرار ڏنا ويندا آهن.

حضرت سليمانؑ کان به هڪ موقعي تي اجتهادي انداز ۾ ڪا ڪوتاهي ٿي وئي. جڏهن پاڻؑ تي حقيقت واضح ٿي ته پاڻؑ نهايت عاجزي سان الله ڏانهن متوجهه ٿيا. الله تعاليٰ پاڻؑ کان درگذر فرمايو ۽ وڌيڪ انعام اِهو ڪيو جو پاڻؑ کي عظيم سلطنت عطا فرمائي ۽ پاڻؑ کي اهڙا غير معمولي اختيارات ڏنا جيڪي ڪنهن ٻئي انسان کي حاصل نه ٿيا.

نصف وَ اذۡكُرۡ عَبۡدَنَاۤ اَيُّوۡبَ‌ ۘ اِذۡ نَادٰى رَبَّهٗۤ اَنِّىۡ مَسَّنِىَ الشَّيۡطٰنُ بِنُصۡبٍ وَّ عَذَابٍ ؕ﴿۴۱﴾ اُرۡكُضۡ بِرِجۡلِكَ‌ۚ هٰذَا مُغۡتَسَلٌۢ بَارِدٌ وَّ شَرَابٌ﴿۴۲﴾ وَ وَهَبۡنَا لَهٗۤ اَهۡلَهٗ وَ مِثۡلَهُمۡ مَّعَهُمۡ رَحۡمَةً مِّنَّا

وَ ذِكْرٰى لِاُولِى الْاَلْبَابِ﴿٤٣﴾ وَ خُذْ بِيَدِكَ ضِغْثًا فَاضْرِبْ بِّهٖ وَ لَا تَحْنَثْ ؕ اِنَّا وَجَدْنٰهُ صَابِرًا ؕ نِعْمَ الْعَبْدُ ؕ اِنَّهٗۤ اَوَّابٌ﴿٤٤﴾

۽ اسان جي ٻانهي ايوب کي ياد ڪر جڏهن ان پنهنجي رب کي پڪاريو تہ شيطان مون کي ايذايو ۽ ڏک پهچايو آهي. زمين تي پنهنجي لت هڻ. هي ٿڌو پاڻي آهي وهنجڻ لاءِ ۽ پيئڻ لاءِ ۽ ڪيس سندس گهر وارا ۽ ساڻ اوترا (ٻيا بہ) عطا ڪياسون. اسان جي طرفان رحمت ۽ عقل وارن لاءِ نصيحت طور ۽ پنهنجي هٿ ۾ ٻهارو ڪڻ، پوءِ ان سان (پنهنجي زال) کي ڌڪ هڻ ۽ قسم نہ ڀڃ. بيشڪ اسان ڪيس صابر لڌو. بهترين ٻانهو پنهنجي رب ڏانهن گهڻو رجوع ڪرڻ وارو. ٤١-٤٤

---

حضرت ايوبؑ بني اسرائيل جي پيغمبرن مان هئا. سندس زمانو نائين صدي قبل مسيح جو آهي. ڪيس ڪافي مال ۽ دولت حاصل هئي. پر مال ۽ دولت ۾ گم ٿيڻ جي بجاءِ هو الله جي عبادت ڪندو هو ۽ ماڻهن کي الله ڏانهن سڏيندو هو.

ڪجهہ غلط قسم جي ماڻهن اهو چوڻ شروع ڪيو تہ ايوبؑ کي جڏهن ايترو گهڻو مال ملڪيت حاصل آهي تہ هو ديندار نہ بڻجندو تہ ٻيو ڇا ڪندو. الله تعاليٰ ماڻهن تي حجت قائم ڪرڻ لاءِ حضرت ايوبؑ کي مفلس بڻائي ڇڏيو، پر هو پوءِ بہ الله جا عبادت گذار بڻجي رهيا. انهن چيو ”خدا ڏنو ۽ خدا وٺي ڇڏيو. خدا جو نالو مبارڪ هجي.“

شرير ماڻهو پوءِ بہ چپ نہ ٿيا. انهن چيو اصل امتحان تہ اهو آهي جو هو جسماني تڪليف ۾ مبتلا ٿئي ۽ پوءِ صبر ۽ شڪر تي قائم رهي. الله تعاليٰ ماڻهن کي اهو نمونو بہ ڏيکاريو تہ حضرت ايوبؑ کي چمڙي جي بيماري ٿي وئي ۽ سندس سڄي جسم تي ڦِٽ ۽ ڦرڙيون نڪري آيون، پر هو پوءِ بہ صبر ۽ شڪر جي تصوير بڻجي رهيو. جڏهن ماڻهن تي حجت پوري ٿي چڪي تہ الله تعاليٰ حضرت ايوبؑ لاءِ هڪ چشمو جاري ڪيو. جنهن ۾ وهنجڻ سان سندس جسم بلڪل تندرست ٿي ويو ۽ مال ۽ اولاد بہ ٻيهر وڌيڪ اضافي سان عطا ڪيا ويا.

حضرت ايوب بيماري جي حالت ۾ ڪنهن ڳالهہ تي قسم کڻي ورتي تہ چڱو ٿي ويس تہ پنهنجي زال کي سؤ لٺيون هڻندس، الله تعاليٰ ان قسم کي پورو ڪرڻ جي اها تدبير ڪيس ٻڌائي تہ هڪ ٻهارو کڻ جنهن ۾ سؤ تيليون هجن ۽ ان سان نرمي سان هڪ دفعو پنهنجي زال کي ڌڪ هڻ. ان مان معلوم ٿيو تہ خاص حالتن ۾ حيلو ڪرڻ جائز آهي. بشرطيڪ جو اهو ڪنهن شرعي حڪم کي باطل نہ ڪندو هجي.

الله جڏهن پنهنجي دين لاءِ ڪنهن کي استعمال ڪري ۽ اهو ماڻهو ڪنهن تحفظ جي بغير پنهنجي پاڻ کي الله جي حوالي ڪري ڇڏي تہ الله ان کي ٻيهر ان کان وڌيڪ ڏئي ڇڏيندو آهي، جيترو ان عمل جي ڪري ان کان کسيو ويو هو.

وَ اذْكُرْ عِبٰدَنَاۤ اِبْرٰهِيْمَ وَ اِسْحٰقَ وَ يَعْقُوْبَ اُولِى الْاَيْدِىْ وَ الْاَبْصَارِ﴿٤٥﴾ اِنَّاۤ اَخْلَصْنٰهُمْ بِخَالِصَةٍ ذِكْرَى الدَّارِ﴿٤٦﴾ وَ اِنَّهُمْ عِنْدَنَا لَمِنَ الْمُصْطَفَيْنَ الْاَخْيَارِ﴿٤٧﴾ وَ اذْكُرْ اِسْمٰعِيْلَ وَ الْيَسَعَ وَ ذَا الْكِفْلِ ؕ وَ كُلٌّ مِّنَ الْاَخْيَارِ﴿٤٨﴾

۽ اسان جي ٻانهن ابراهيم ۽ اسحاق ۽ يعقوب کي ياد ڪر جيڪي هٿن ۽ اکين (علم ۽ عمل وارا) هئا. بيشڪ اسان کين هڪ پاڪ عادت لاءِ خاص ڪيو، جيڪا آخرت جو ياد ڪرڻ آهي ۽ بيشڪ اهي اسان وٽ چونڊيل نيڪ ماڻهن مان هئا ۽ اسماعيل ۽ اليسع ۽ ذوالڪفل کي ياد ڪر ۽ اهي سڀئي نيڪن مان هئا. ٤٥-٤٨

هتي ڪجهه پيغمبرن جو ذڪر ڪري ارشاد ڪيو ويو آهي تہ اُهي هٿن وارا ۽ اکين وارا هئا. يعني کين جسماني قوت ۽ ذهني بصيرت ٻئي اعليٰ درجي ۾ حاصل هيون. هڪ طرف اهي عملي صلاحيتن جا مالڪ هئا، ٻي طرف انهن ان معرفت جو ثبوت ڏنو جو اهي شين کي صحيح نظر سان ڏسڻ ۽ معاملن ۾ صحيح راءِ قائم ڪرڻ جي صلاحيت رکندا آهن. تنهن ڪري الله کين پنهنجي پيغام پهچائڻ لاءِ چونڊي ورتو.

الله جو اهو خاص ڪم ڪهڙو آهي جنهن جي لاءِ هو انسانن منجهان پنهنجا پيغمبر چونڊيندو آهي. اها آهي آخرت جي گهر جي يادگيري، پيغمبرن جو خاص مشن هميشہ اهو رهيو آهي جو هو انسانن کي ان حقيقت کان باخبر ڪن تہ انسان جي اصل منزل آخرت آهي ۽ انسان کي ان جي تياري ڪرڻ گهرجي. انسان جو سڀني کان وڏو مسئلو اهوئي آهي ۽ هن دنيا ۾ سڀني کان وڏو ڪم اهو آهي تہ انسان کي ان سنگين مسئلي کان آگاهہ ڪيو وڃي.

هٰذَا ذِكْرٌ ۭ وَ اِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ لَحُسْنَ مَاٰبٍ ۝٤٩ جَنّٰتِ عَدْنٍ مُّفَتَّحَةً لَّهُمُ الْاَبْوَابُ ۝٥٠
مُتَّكِـِٕيْنَ فِيْهَا يَدْعُوْنَ فِيْهَا بِفَاكِهَةٍ كَثِيْرَةٍ وَّ شَرَابٍ ۝٥١ وَ عِنْدَهُمْ قٰصِرٰتُ الطَّرْفِ
اَتْرَابٌ ۝٥٢ هٰذَا مَا تُوْعَدُوْنَ لِيَوْمِ الْحِسَابِ ۝٥٣ اِنَّ هٰذَا لَرِزْقُنَا مَا لَهٗ مِنْ نَّفَادٍ ۝٥٤

هي نصيحت آهي ۽ بيشڪ الله کان ڊڄڻ وارن لاءِ چڱو ٺڪاڻو آهي. هميشہ جا باغ جن جا دروازا سندن لاءِ کليل هوندا. اهي ان ۾ وهاڻن تي ٽيڪ لڳائي ويٺا هوندا ۽ گهڻا ميوا ۽ پيئڻ جون شيون پيا گهرائيندا ۽ وٽن هيٺ نگاهہ ڪرڻ واريون ۽ عمر ۾ هڪ جيڏيون زالون هونديون. هي اهو آهي جنهن جو حساب جي ڏينهن لاءِ واعدو ڏنو وڃي ٿو. اهو اسان جو رزق آهي جيڪو ڪڏهن ختم ٿيڻ وارو نہ آهي. ٤٩-٥٤

جنت جا دروازا انهن ماڻهن لاءِ کوليا وڃن ٿا جيڪي پنهنجي دل جا دروازا نصيحت لاءِ کولين، جيڪي الله جي ظاهر ٿيڻ کان اڳ الله کان ڊڄڻ وارا بڻجي وڃن. اهي ئي اهي خوش نصيب ماڻهو آهن، جيڪي آخرت جي ابدي نعمتن جا حصيدار هوندا.

قرآن ۾ آخرت جي جن نعمتن جو ذڪر آهي، اهي سڀ اهي ئي آهن جيڪي دنيا ۾ انسان کي حاصل آهن، پر ٻنهي ۾ وڏو فرق آهي، اهو هي تہ دنيا جون نعمتون وقتي ۽ ابتدائي شڪل ۾ ڏنيون ويون آهن ۽ آخرت ۾ اهي نعمتون ابدي ۽ انتهائي شڪل ۾ ڏنيون وينديون. وڌيڪ اهو تہ انهن اعليٰ نعمتن سان هر قسم جي خوف ۽ انديشي کي ختم ڪيو ويندو، جنهن جو ختم ٿيڻ موجوده دنيا ۾ ڪهڙي بہ طرح ممڪن نہ آهي.

هٰذَا ۭ وَ اِنَّ لِلطّٰغِيْنَ لَشَرَّ مَاٰبٍ ۝٥٥ جَهَنَّمَ ۚ يَصْلَوْنَهَا ۚ فَبِئْسَ الْمِهَادُ ۝٥٦ هٰذَا ۙ

فَلْيَذُوْقُوْهُ حَمِيْمٌ وَّ غَسَّاقٌ ﴿٥٧﴾ وَّ اٰخَرُ مِنْ شَكْلِهٖٓ اَزْوَاجٌ ﴿٥٨﴾ هٰذَا فَوْجٌ مُّقْتَحِمٌ مَّعَكُمْ ۚ
لَا مَرْحَبًۢا بِهِمْ ۭ اِنَّهُمْ صَالُوا النَّارِ ﴿٥٩﴾ قَالُوْا بَلْ اَنْتُمْ ۣ لَا مَرْحَبًۢا بِكُمْ ۭ اَنْتُمْ
قَدَّمْتُمُوْهُ لَنَا ۚ فَبِئْسَ الْقَرَارُ ﴿٦٠﴾ قَالُوْا رَبَّنَا مَنْ قَدَّمَ لَنَا هٰذَا فَزِدْهُ عَذَابًا ضِعْفًا فِي
النَّارِ ﴿٦١﴾ وَقَالُوْا مَا لَنَا لَا نَرٰى رِجَالًا كُنَّا نَعُدُّهُمْ مِّنَ الْاَشْرَارِ ﴿٦٢﴾ اَتَّخَذْنٰهُمْ سِخْرِيًّا
ع ٤ اَمْ زَاغَتْ عَنْهُمُ الْاَبْصَارُ ﴿٦٣﴾ اِنَّ ذٰلِكَ لَحَقٌّ تَخَاصُمُ اَهْلِ النَّارِ ﴿٦٤﴾ ١٣

اهو (بدلو ڀلارن لاءِ) آهي ۽ بيشڪ حد کان لنگهندڙن لاءِ بڇڙو ٺڪاڻو آهي جهنم، ان ۾ اهي داخل ٿيندا. پوءِ ڪهڙي نہ بڇڙي جاءِ آهي. هي ٽهڪندڙ پاڻي ۽ پڄ آهي، پوءِ ڀلي ان کي چکين ۽ اهڙي قسم جون ٻيون بہ شيون هونديون. هي هڪ فوج آهي اوهان سان گڏ گهڙندي پئي اچي، انهن لاءِ بہ ڪو ڇڱو آڌرڀاءُ ڪونهي. اهي باھ ۾ داخل ٿيڻ وارا آهن (تابع) چوندا تہ (نہ) بلڪ اوهان لاءِ بہ ڪو آڌرڀاءُ ڪونهي. توهان ئي اسان لاءِ هي (عذاب) آندو آهي، پوءِ ڪهڙو بڇڙو ٺڪاڻو آهي. اهي چوندا تہ اي اسان جا رب! جنهن اسان لاءِ هي (ڪفر) جي پراڻي رسم ٺاهي هئي، ان کي ٽون ٻيڻو عذاب ڏي جهنم ۾ ۽ اهي چوندا تہ ڇا ڳالھ آهي جو اسان انهن ماڻهن کي هتي نہ ٿا ڏسون جن کي اسان برن ماڻهن ۾ شمار ڪندا هئاسون. ساڻن ٺٺوليون ڪندا هئاسون يا ڪائنئن اسان جي نظر ٿڙي تہ نہ وئي آهي. بيشڪ دوزخين جو پاڻ ۾ جهيڙو ڪرڻ اها سچي (ڳالھ) آهي. ٥٥-٦٤

---

جهنم انهن تڪليفن جي ابدي ۽ انتهائي شڪل آهي، جنهن جو موجوده دنيا ۾ ڪوبہ ماڻهو تصور نہ ٿو ڪري سگهي. دنيا ۾ سرڪشي ڪرڻ وارا ۽ سچائي کي ڪوڙو ڪرڻ وارا ماڻهو جڏهن جهنم ۾ گڏ ٿيندا تہ سندن ليڊر ۽ انهن جا تابع پاڻ ۾ جهيڙو ڪندا. اهي پيروي ڪرڻ وارا جيڪي پنهنجن ليڊرن جي عظمت تي فخر ڪندا هئا. اهي اتي پنهنجو انجام ڏسي ليڊرن تي لعنت ڪندا. ان جو هڪ نقشو هنن آيتن ۾ ڏيکاريو ويو آهي.

سچائي جو انڪار ڪرڻ وارا جڏهن آخرت ۾ پنهنجو برو انجام ڏسندا تہ هو اُتي انهن ماڻهن کي ياد ڪندا جن سچائي جو ساٿ ڏنو هو ۽ ان ڪري اُهي پنهنجي ماحول ۾ حقير بڻجي ويا هئا. انهن جي متعلق منڪر چوندا هئا تہ اهي بزرگن جي توهِين ۽ انڪار ڪرڻ وارا آهن. اهي آبائي دين کان ڦري ويا آهن. هنن قوم کان الڳ پنهنجو رستو بڻايو آهي.

اهي منڪر پاڻ کي حق تي سمجهندا هئا ۽ انهن کي ناحق تي، پر آخرت ۾ معاملو بلڪل ابتڙ ٿي ويندو. ان وقت انهن تي واضح ٿي ويندو تہ جن کي حقير سمجهي اهي سندن مذاق اڏائيندا هئا، اُهي ئي آخرت جي سرفرازي ۾ سيني کان وڌا درجا حاصل ڪيل آهن.

قُلْ اِنَّمَآ اَنَا مُنْذِرٌ ڰ وَّ مَا مِنْ اِلٰهٍ اِلَّا اللّٰهُ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ﴿٦٥﴾ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا
بَيْنَهُمَا الْعَزِيْزُ الْغَفَّارُ ﴿٦٦﴾ قُلْ هُوَ نَبَؤٌا عَظِيْمٌ ﴿٦٧﴾ اَنْتُمْ عَنْهُ مُعْرِضُوْنَ ﴿٦٨﴾ مَا كَانَ لِيَ
مِنْ عِلْمٍۢ بِالْمَلَاِ الْاَعْلٰٓى اِذْ يَخْتَصِمُوْنَ ﴿٦٩﴾ اِنْ يُّوْحٰٓى اِلَيَّ اِلَّآ اَنَّمَآ اَنَا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٧٠﴾

چؤ تہ آئون صرف هڪ ڊيڄارڻ وارو آهيان ۽ ڪو معبود نہ آهي الله کان سواءِ اڪيلو ۽ غالب. اهو رب آهي آسمانن ۽ زمين جو ۽ انهن شين جو جيڪي انهن جي وچ ۾ آهن. اهو غالب آهي، بخشڻهار آهي. چؤ تہ اها هڪ وڏي خبر آهي جنهن کان اوهين منهن موڙيندڙ آهيو. مون کي مٿانهين عالم جي ڪجھ خبر نہ آهي. جڏهن اُهي پاڻ ۾ تڪرار ڪندا آهن. مون وٽ تہ وحي رڳو ان لاءِ ايندي آهي جو آئون هڪ پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان. ٦٥-٧٠

---

هتي جنهن تڪرار جو ذڪر آهي اِهو اهوئي آهي جيڪو اڳيان اچڻ واري آيت ۾ ذڪر ڪيل آهي. يعني آدم عليه السلام جي تخليق جي وقت ابليس جو بحث ۽ تڪرار ڪرڻ.

قرآن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ شيطان پھرئين ڏينهن کان آدم عليه السلام جو دشمن بڻجي ويو. هو ڪوڙين ڳالهين ذريعي اولاد آدم عليه السلام کي سڌي رستي کان گمراھ ڪري ٿو، ان ڪري انسان کي گهرجي تہ هو هوشيار رهي ۽ ان کان پوري طرح بچڻ جي ڪوشش ڪري. هن سلسلي ۾ آدم عليه السلام جي پيدائش وقت جيڪو تڪرار ٿيو ۽ جنهن کي قرآن ۾ بيان ڪيو ويو، اهو سراسر وحي هو. ڇاڪاڻ تہ رسول الله ﷺ ان وقت ملاءِ اعليٰ ۾ موجود نہ هئا جو ذاتي ڄاڻ جي بنياد تي ان کي بيان ڪري سگهن ها.

سيني کان اهم خبر انسان لاءِ اها آهي تہ هن کي زندگي جي ان نوعيت کان خبردار ڪيو وڃي تہ شيطان هر وقت ان جي پنيان لڳل آهي. هو ان جي سوچ ۽ ان جي جذبات ۾ داخل ٿي ڪري ان کي گمراھ ڪري رهيو آهي، انسان کي گهرجي تہ هو ان خطري کان پاڻ کي بچائي. پيغمبر هڪ لحاظ کان ان لاءِ آيا تہ اسان کي اُن نازڪ خطري کان خبردار ڪري ڇڏين.

اِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اِنِّيْ خَالِقٌۢ بَشَرًا مِّنْ طِيْنٍ ﴿٧١﴾ فَاِذَا سَوَّيْتُهٗ وَ نَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ
رُّوْحِيْ فَقَعُوْا لَهٗ سٰجِدِيْنَ ﴿٧٢﴾ فَسَجَدَ الْمَلٰٓئِكَةُ كُلُّهُمْ اَجْمَعُوْنَ ﴿٧٣﴾ اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ اِسْتَكْبَرَ
وَ كَانَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٧٤﴾ قَالَ يٰٓاِبْلِيْسُ مَا مَنَعَكَ اَنْ تَسْجُدَ لِمَا خَلَقْتُ بِيَدَيَّ ؕ
اَسْتَكْبَرْتَ اَمْ كُنْتَ مِنَ الْعَالِيْنَ ﴿٧٥﴾ قَالَ اَنَا خَيْرٌ مِّنْهُ ؕ خَلَقْتَنِيْ مِنْ نَّارٍ وَّ خَلَقْتَهٗ
مِنْ طِيْنٍ ﴿٧٦﴾ قَالَ فَاخْرُجْ مِنْهَا فَاِنَّكَ رَجِيْمٌ ﴿٧٧﴾ وَّ اِنَّ عَلَيْكَ لَعْنَتِيْٓ اِلٰى يَوْمِ الدِّيْنِ ﴿٧٨﴾

جڏهن تنهنجي رب فرشتن کي چيو تہ آئون مٽي مان هڪ بشر بڻائڻ وارو آهيان، پوءِ جڏهن آئون ڪيس درست ڪري وٺان ۽ ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيان، تڏهن توهان ان جي آڏو سجدي ۾ ڪِري پئجو. پوءِ فرشتن سجدو ڪيو پر ابليس تڪبر ڪيو ۽ اهو انڪار ڪرڻ وارن مان ٿيو. فرمايو ويو تہ اي ابليس! تو کي ڪهڙي ڳالھ ان کي سجدو ڪرڻ کان روڪيو. جنهن کي مون پنهنجي پنهي هٿن سان بڻايو. تو تڪبر ڪيو يا تون وڏي مرتبي وارن مان آهين. ان چيو تہ آئون آدم کان بهتر آهيان. تو مون کي باھ مان پيدا ڪيو ۽ ان کي مٽي مان. فرمايو ويو تہ تون هتان نڪري وڃ، ڇاڪاڻ تہ تون تڙيل آهين ۽ توتي منهنجي لعنت آهي بدلي جي ڏينهن تائين. ٧١-٧٨

---

الله تعاليٰ انسان کي هڪ انتهائي اعليٰ مخلوق جي حيثيت سان بڻايو ۽ ان جي علامت طور فرشتن ۽ جنن کي حڪم ڏنو تہ هو ان کي سجدو ڪن. ان کان پوءِ جڏهن ابليس آدم کي سجدو نہ ڪيو تہ هو هميشہ لاءِ لعنتي قرار ڏنو ويو. پر ان سنگين واقعي جي اهميت صرف ابليس جي لحاظ کان نہ هئي، بلڪ خود آدم عليه السلام لاءِ بہ ان جي وڏي اهميت هئي.

آدمؑ جي آڏو جهڪڻ کان انڪار ڪري ابليس ابدي طور تي آدمؑ جي نسل جو دشمن بڻجي ويو. اهڙي طرح انساني تاريخ اول ڏينهن کان هڪ نئين رخ تي هلي پئي. ان واقعي اهو طي ڪري ڇڏيو ته انسان جي لاءِ زندگي جو سفر ڪو سادو سفر نه هوندو. بلڪ سخت مقابلي جو سفر هوندو. ان کي ابليس جي ورغلائڻ ۽ ان جي پرفريب تدبيرن جو مقابلو ڪندي پنهنجي پاڻ کي صحيح رستي تي قائم رکڻو هوندو. ته جيئن هو سلامتي سان پنهنجي منزل تائين پهچي سگهي.

انسان ۽ جنت جي وچ ۾ شيطان جي مڪاري ۽ ڌوکي بازي حائل آهي. جيڪو ماڻهو شيطان جي مڪاري ۽ ڌوکي بازي کان خود کي بچائي ويو. اُهو ئي جنت جي ابدي باغن ۾ داخل ٿيندو ۽ جيڪي ماڻهو شيطان جي مڪاري ۽ ڌوکيبازي کي سڃاڻڻ ۾ ناڪام رهيا. اهي ئي اُهي ماڻهو آهن جيڪي جنت کان محروم رهجي ويندا.

قَالَ رَبِّ فَاَنْظِرْنِيْٓ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿٧٩﴾ قَالَ فَاِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ ﴿٨٠﴾ اِلٰى يَوْمِ الْوَقْتِ الْمَعْلُوْمِ ﴿٨١﴾ قَالَ فَبِعِزَّتِكَ لَاُغْوِيَنَّهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٨٢﴾ اِلَّا عِبَادَكَ مِنْهُمُ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿٨٣﴾ قَالَ فَالْحَقُّ ۡ وَالْحَقَّ اَقُوْلُ ﴿٨٤﴾ لَاَمْلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنْكَ وَمِمَّنْ تَبِعَكَ مِنْهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٨٥﴾

(ابليس چيو) اي منهنجا رب! مون کي مهلت ڏي، ان ڏينهن تائين جڏهن ماڻهو ٻيهر اٿاريا ويندا. فرمايو ويو ته تون مهلت ڏنلن مان آهين، انهيءَ مقرر وقت جي ڏينهن تائين. ان چيو تنهنجي عزت جو قسم آئون انهن سڀني کي گمراهه ڪري رهندس. سواءِ تنهنجي انهن ٻانهن جي جن کي تو خالص ڪري ورتو. فرمايو ويو حق اهو آهي ۽ آئون حق ئي چوندو آهيان ته آئون جهنم کي توسان ۽ انهن سڀني ماڻهن سان ڀري ڇڏيندس جيڪي تنهنجي پيروي ڪندا. ٧٩-٨٥

---

موجوده امتحان جي دنيا ۾ شيطان کي پورو موقعو ڏنو ويو آهي ته هو انسان کي ورغلائي، پر شيطان ان وقت تائين ورغلائي سگهي ٿو، جيستائين حقيقت غيب ۾ لڪيل هجي. قيامت جڏهن غيب جو پردو ڦاڙي ايندي ته سڀ ڪجهه سامهون اچي ويندو . ان کان پوءِ نه ڪو گمراهه ڪرڻ وارو باقي رهندو ۽ نه وري ڪو گمراهه ٿيڻ وارو.

مخلص جو مطلب آهي ملاوٽ، نقص ۽ عيب کان پاڪ هجڻ. مخلص ماڻهو اهو آهي جيڪو نفسياتي بيمارين کا پاڪ هجي. شيطان جو معاملو اهو آهي ته ان کي ڪا ظاهري طاقت حاصل نه آهي. اهو هميشه ڪوڙ کي خوشنما بڻائي انسانن کي ورغلائي ٿو. يعني باطل کي حق جي روپ ۾ ڏيکارڻ بي بنياد ڳالهين کي خوبصورت لفظن ۾ پيش ڪرڻ. سڌي ڳالهه ۾ شوشو ڪڍي ماڻهن کي ان کان شڪ ۾ وجهڻ. جيئن ته شيطان جي ان چال ۾ اهي ئي ماڻهو دوکو کائيندا آهن جيڪي پنهنجي اندر نفسياتي مونجهارا رکندا هجن ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجي نفسيات کي ان جي فطري حالت تي باقي رکن ۽ پنهنجي عقل کي صحيح طور استعمال ڪن ته اهي شيطاني فريب کي سڃاڻي وٺندا آهن. اهي ڪڏهن به ان جي خوشنمان تدبيرن کان گمراهه نه ٿيندا آهن.

قُلْ مَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ وَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُتَكَلِّفِيْنَ ﴿٨٦﴾ اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿٨٧﴾ وَلَتَعْلَمُنَّ نَبَاَهٗ بَعْدَ حِيْنٍ ﴿٨٨﴾ ع ٢٤ ١٤

چؤ تہ آئون توھان کان ڪو اجورو نہ ٿو گھران ۽ نہ وري آئون (ڪوڙ) ٺاھڻ وارن مان آھيان. ھي تہ ھڪ نصيحت
آھي سڀني جھان وارن لاءِ ۽ ڪجھ وقت کان پوءِ ان جي خبر توھان کي پئجي ويندي. ٨٦-٨٨

---

داعي جي ھڪ لازمي صفت ھي آھي جو ھو مدعو کان اجر نہ ٿو گھري. ھو پنھنجي ۽ مدعو جي وچ ۾ ڪو مادي جھڳڙو پيدا نہ ٿو ڪري. قرآن جي دعوت آخرت جي دعوت آھي، ان ڪري جيڪو ماڻھو ايئن ڪري جو ھو ھڪ پاسي قرآن جي آخرت ڏانھن دعوت جو علمبردار ٺئي ۽ انھيءَ سان گڏ مدعو قوم کان مادي مطالبن جي مھم بہ ھلائي تہ پوءِ ھو مدعو جي نظر ۾ ھڪ غيرسنجيده ماڻھو بڻجي ويندو ۽ جيڪو ماڻھو پنھنجي غيرسنجيدگي پاڻ ثابت ڪري ڇڏي تہ ان جي ڳالھ تي ڪير ڌيان ڏيندو.

اھڙي طرح داعي پنھنجي طرفان ڪا ڳالھ ٺاھي نہ چوندو آھي. ھو رڳو اھوئي چوندو آھي جيڪو الله طرفان مليو آھي. مسروق تابعي چوندا آھن تہ اسان عبدالله بن مسعود وٽ آياسون انھن چيو اي ماڻھو! جيڪو شخص ڪجھ ڄاڻندو ھجي تہ ان کي ڪيپي تہ ھو ڳالھائي ۽ جيڪو شخص نہ ٿو ڄاڻي تہ ان کي اھو چوڻ گھرجي تہ الله وڌيڪ ڄاڻي ٿو، اھا علم جي ڳالھ آھي تہ ماڻھو جنھن شيءِ کي نہ ڄاڻي ان جي باري ۾ چئي ڇڏي تہ الله وڌيڪ ڄاڻي ٿو، ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ پنھنجي نبيﷺ کي فرمايو تہ چؤ آءٌ ان تي اجر نہ ٿو گھران ۽ آئون ڪوڙ ٺاھڻ وارن مان نہ آھيان (تفسير ابن ڪثير الجز الرابع ص ٤٤)

اھڙي طرح داعي جي اھا صفت آھي تہ ھو دعوت کي نصيحت جي انداز ۾ پيش ڪري. ان جو ڪلام خيرخواھي جو ڪلام ھجي، نہ وري مناظري جو ڪلام.

اٰياتھا ٧٥ (٣٩) سُوْرَةُ الزُّمَرِ مَكِّيَّةٌ (٥٩) ركوعاتھا ٨

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ۝١ اِنَّآ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ فَاعْبُدِ
اللّٰهَ مُخْلِصًا لَّهُ الدِّيْنَ ۝٢ اَلَا لِلّٰهِ الدِّيْنُ الْخَالِصُ ؕ وَ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ
اَوْلِيَآءَ ۘ مَا نَعْبُدُهُمْ اِلَّا لِيُقَرِّبُوْنَآ اِلَى اللّٰهِ زُلْفٰى ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ فِيْ مَا هُمْ
فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ؕ۬ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ مَنْ هُوَ كٰذِبٌ كَفَّارٌ ۝٣

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مھربان نھايت رحم وارو آھي.

ھي ڪتاب الله جي طرفان نازل ڪيو ويو آھي، جيڪو غالب آھي، حڪمت وارو آھي. بيشڪ اسان ھي ڪتاب توڏانھن حق سان نازل ڪيو آھي. تنھن ڪري تون دين کي ان لاءِ خالص ڪري الله جي عبادت ڪر. خبردار! خالص دين صرف الله لاءِ آھي ۽ جن ماڻھن الله کان سواءِ بيا دوست ڪري ورتا آھن، (اُھي چوندا آھن تہ) اسان انھن جي عبادت صرف ان ڪري ڪندا آھيون، جو ھو اسان کي الله جي ويجھو ڪن. بيشڪ الله انھن جي وچ ۾ ان ڳالھ جو فيصلو ڪندو، جنھن ۾ اھي اختلاف ڪري رھيا آھن. الله اھڙي ماڻھو کي ھدايت نہ ٿو ڏي، جيڪو ڪوڙو، حق کي نہ مڃڻ وارو آھي. ١-٣

قرآن حقيقت جو خدائي بيان آهي. ان جو حڪيماڻو اسلوب ۽ ان جا غيرمعمولي طور تي پختا مضمون ان ڳالهہ جو ثبوت آهن تہ هي حقيقت ۾ الله طرفان آهي. ڪو انسان اهڙي قسم جو غيرمعمولي ڪلام پيش ڪرڻ تي قادر نہ آهي.

دين ڪي الله لاءِ خالص ڪرڻ جو مطلب عبادت ڪي الله لاءِ خالص ڪرڻ آهي، يعني اوهان صرف هڪ الله جي عبادت ڪريو پنهنجي عبادت ڪي ان ئي لاءِ خالص ڪندي. (اي فاعبدالله وحده مخلصاً لہ في عبادتک، صفوه التفاسير الجلد الثالث، صفحو ٦٩)

هر انسان ۾ پراسرار طور عبادت جو جذبو موجود آهي. يعني ڪنهن ڪي وڏو تصور ڪري ان لاءِ تعجب ۽ حيرت جو احساس پيدا ٿيڻ. جنهن هستي جي باري ۾ ماڻهن جي اندر اهو احساس پيدا ٿي وڃي ان ڪي هو سڀني کان وڌيڪ مقدس سمجهي ٿو. ان جي اڳيان ان جي پوري هستي جهڪي ٿي وڃي. ان جي اڏو هو غيرمعمولي احترام ۽ ادب جو اظهار ڪندو آهي. ان کان هو سڀني کان وڌيڪ ڊڄندو آهي ۽ ان ئي سان سڀني کان گهڻي محبت ڪندو آهي. ان جي ياد سان سندس روح ڪي لذت ملندي آهي. اهوئي سندس زندگي جو سڀني کان وڏو سهارو بڻجي ويندو آهي.

ان ئي جو نالو عبادت (يا پرستش) آهي ۽ اها عبادت صرف هڪ الله جو حق آهي، پر انسان ايئن ڪندو آهي جو هو الله ڪي مڃيندي عبادت ۾ الله جي غير ڪي شريڪ ڪندو آهي، هو غيرالله لاءِ عبادت جو عمل انجام ڏيندو آهي، اها ئي انسان جي اصل گمراهي آهي. حقيقت اها آهي تہ جهڙي طرح الله ناقابل تقسيم آهي، اهڙي طرح عبادت ڪي بہ تقسيم نہ ٿو ڪري سگهجي.

لَوْ اَرَادَ اللّٰهُ اَنْ يَّتَّخِذَ وَلَدًا لَّاصْطَفٰى مِمَّا يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ۙ سُبْحٰنَهٗ ۭ هُوَ اللّٰهُ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ۝۴ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ بِالْحَقِّ ۚ يُكَوِّرُ الَّيْلَ عَلَى النَّهَارِ وَ يُكَوِّرُ النَّهَارَ عَلَى الَّيْلِ وَ سَخَّرَ الشَّمْسَ وَ الْقَمَرَ ۭ كُلٌّ يَّجْرِيْ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى ۭ اَلَا هُوَ الْعَزِيْزُ الْغَفَّارُ ۝۵

جيڪڏهن الله (اولاد) پٽ گهري ها تہ پنهنجي مخلوق مان جيڪو وڻي سو چوندي ها. هو پاڪ آهي. اُهو الله آهي اڪيلو، سڀني تي غالب. ان آسمانن ۽ زمين ڪي حق سان پيدا ڪيو. هو رات ڪي ڏينهن تي ويڙهي ٿو ۽ ڏينهن ڪي رات تي ويڙهي ٿو ۽ ان سج ۽ چنڊ ڪي تابع ڪيو آهي، هر هڪ نهرايل مدت تي هلندو آهي. خبردار اهوئي غالب بخشڻهار آهي. ٤-٥

---

ماڻهو جي اندر فطري طور تي اهو جذبو آهي تہ هو الله ڏانهن وڌي. هو الله جي پرستش ڪري. شيطان جي ڪوشش هميشہ اها هوندي آهي تہ هو ان جذبي ڪي الله کان هٽائي ٻئي پاسي موڙي ڇڏي. ان لاءِ هو ماڻهن جي ذهن ۾ وجهندو آهي تہ الله جي بارگاهہ تمام مٿي آهي. توهان براهہ راست الله تائين نہ ٿا پهچي سگهو، ان ڪري توهان بزرگن جي وسيلي الله تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪريو. اهڙي طرح هو ماڻهن جي ذهن ۾ اهو عقيدو ويهاري ٿو تہ جهڙي طرح انسانن ڪي اولاد آهي، اهڙي طرح الله ڪي بہ اولاد آهي ۽ الله ڪي خوش رکڻ جو آسان طريقو اهو آهي تہ توهان الله جي اولاد ڪي خوش رکو. جديد ماده پرستي بہ ان جي هڪ بگڙيل صورت آهي. جنهن ماڻهو جي پرستش جي جذبي ڪي خالق کان هٽائي

مخلوق (مال ۽ ملڪيت) ڏانهن موڙي ڇڏيو.

اهڙي قسم جون سڀئي ڳالهيون الله جي خدائي جو گهٽ تصور آهن. جيڪو الله شمسي نظام کي هلائي رهيو آهي ۽ جنهن عظيم ڪائنات کي سنڀالي رکيو آهي، اهو بيشڪ ان کان بلند آهي جو ان وٽ ڪنهن جي سفارش هلي يا ان جا پٽ ۽ ڌيئرون هجن.

خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ ثُمَّ جَعَلَ مِنْهَا زَوْجَهَا وَ اَنْزَلَ لَكُمْ مِّنَ الْاَنْعَامِ ثَمٰنِيَةَ اَزْوَاجٍ ؕ يَخْلُقُكُمْ فِيْ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ خَلْقًا مِّنْۢ بَعْدِ خَلْقٍ فِيْ ظُلُمٰتٍ ثَلٰثٍ ؕ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ لَهُ الْمُلْكُ ؕ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ فَاَنّٰى تُصْرَفُوْنَ ﴿٦﴾

الله توهان کي هڪ جيءَ مان پيدا ڪيو. پوءِ هن منجهائنس سندس جوڙو بڻايو ۽ ان ئي توهان لاءِ ڍورن مان نر ۽ مادي جا اٺ قسم لاٿا. هو توهان کي توهان جي مائرن جي پيٽ ۾ بڻائي ٿو، هڪ بناوت کان پوءِ ٻي بناوت ٽن اونداهين ۾. اهو الله توهان جو رب آهي. سندس ئي بادشاهي آهي. ان کان سواءِ ڪو معبود نه آهي، پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا ويندا آهيو. ٦

---

اول هڪ انسان وجود ۾ آيو، پوءِ ان جي مطابق ان جو هڪ جوڙو بڻايو ويو. اهڙي طرح ابتدائي مرد ۽ عورت جي ذريعي انساني نسل هلي پئي. پوءِ انسان جي ضرورت لاءِ الله تعاليٰ بيشمار شيون خلقيون، رڍ، ٻڪري، اُٺ ۽ ڍڳي (نر ۽ مادي) ملائي اٺ قسم. تهذيب جي ابتدائي دور ۾ هزارن سالن تائين انسان جي معيشت جو ذريعو اهي ئي ڍور هئا. پوءِ جڏهن تهذيب اڳتين مرحلي ۾ پهتي ته ٻين بيشمار شين کي انسان استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. جن کي الله اول ڏينهن کان اهڙو بڻائي رکيو هو جو انسان انهن کي پنهنجي ڪم ۾ آڻي سگهي. جهڙي طرح پالتو جانور انسان جي تابع آهن، اهڙي طرح گيسون ۽ معدنيات به تابع ٿيل آهن نه ته انسان ڪين استعمال نه ڪري سگهي ها. متي ذڪر ڪيل اٺن قسمن کي علامت طور پيش ڪيو ويو آهي.

انسان جي پيدائش جي سلسلي ۾ هتي جن ٽن اونداهين جو ذڪر آهي. ان مان مراد ٽي پردا آهن. اول پيٽ جو پردو، پوءِ (ماءُ جي رحم) جو پردو ۽ پوءِ جين جي ٻاهرين جهلي (The Mother’s abdominal wall the wall of the uterus and the amniochorionic membrane) اهو سڄو نظام ايترو حيرتناڪ حدتائين پيچيده ۽ عظيم آهي جو ڪائنات جي خالق کان سواءِ ڪو ان کي وجود ۾ نه ٿو آڻي سگهي. پوءِ ان کان سواءِ ڪير ان جي قابل آهي جو ان کي معبود جو درجو ڏنو وڃي.

اِنْ تَكْفُرُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ عَنْكُمْ ۫ وَ لَا يَرْضٰى لِعِبَادِهِ الْكُفْرَ ۚ وَ اِنْ تَشْكُرُوْا يَرْضَهُ لَكُمْ ؕ وَ لَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ؕ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ مَّرْجِعُكُمْ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿٧﴾

پوءِ جيڪڏهن توهان انڪار ڪندؤ ته الله توهان کان بي نياز آهي ۽ هو پنهنجن ٻانهن لاءِ انڪار کي پسند نه ٿو ڪري ۽ جيڪڏهن توهان شڪر ڪندو ته هو توهان لاءِ ان کي پسند ڪندو آهي ۽ ڪو بار کڻندڙ ڪنهن ٻئي جو

بار نہ ڪٽندو. پوءِ توهان جي رب ڏانهن ئي توهان جو موٽڻ آهي پوءِ هو توهان کي سُڌ ڏيندو جيڪي توهان ڪندا هئا. بيشڪ هو سينن وارا ڳجهہ ڄاڻندڙ آهي. ٧

الله کي مڃڻ ۽ ان جو شڪرگذار ٿيڻ خود انساني عقل جو تقاضو آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو حقيقت جو اعتراف آهي ۽ حقيقت جو اعتراف ئي سڀ کان وڏو عقلي تقاضو آهي.

آخرت ڪامل عدل جو ظهور آهي ۽ اهو ناممڪن آهي تہ ڪامل عدل واري دنيا ۾ اها ناقص صورتحال جاري رهي جيڪا موجوده دنيا ۾ نظر اچي ٿي، عدل جو تقاضو آهي تہ هر ماڻهو اهڙو ئي ثابت ٿئي جيڪو حقيقت ۾ هو آهي ۽ ان کي اهوئي ملي جنهن جو هو حقيقت ۾ مستحق هو. موجوده دنيا ۾ ايئن نہ ٿو ٿئي، آخرت ان ڪري ايندي جو هو دنيا جي هن ڪمي کي ختم ڪري. هو ناقص دنيا کي آخري حدتائين ڪامل دنيا بڻائي ڇڏي.

وَ اِذَا مَسَّ الۡاِنۡسَانَ ضُرٌّ دَعَا رَبَّهٗ مُنِيۡبًا اِلَيۡهِ ثُمَّ اِذَا خَوَّلَهٗ نِعۡمَةً مِّنۡهُ نَسِيَ مَا كَانَ
يَدۡعُوۡۤا اِلَيۡهِ مِنۡ قَبۡلُ وَ جَعَلَ لِلّٰهِ اَنۡدَادًا لِّيُضِلَّ عَنۡ سَبِيۡلِهٖ ؕ قُلۡ تَمَتَّعۡ بِكُفۡرِكَ
قَلِيۡلًا ۖۗ اِنَّكَ مِنۡ اَصۡحٰبِ النَّارِ ﴿۸﴾ اَمَّنۡ هُوَ قَانِتٌ اٰنَآءَ الَّيۡلِ سَاجِدًا وَّ قَآئِمًا يَّحۡذَرُ
الۡاٰخِرَةَ وَ يَرۡجُوۡا رَحۡمَةَ رَبِّهٖ ؕ قُلۡ هَلۡ يَسۡتَوِي الَّذِيۡنَ يَعۡلَمُوۡنَ وَ الَّذِيۡنَ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ؕ
اِنَّمَا يَتَذَكَّرُ اُولُوا الۡاَلۡبَابِ ﴿۹﴾ ع ١٥

۽ جڏهن انسان کي ڪا تڪليف پهچي ٿي تہ هو پنهنجي رب کي پڪاري ٿو ان ڏانهن رجوع ڪندي. پوءِ جڏهن هو ان کي پاڻ وٽان نعمت ڏي ٿو تہ هو ان شيءِ کي وساري ٿو ڇڏي جنهن لاءِ هو اڳ ۾ پڪاري رهيو هو ۽ هو الله جا شريڪ مقرر ڪندو آهي تہ جيئن هو سندس واٽ کان (ماڻهن کي) گمراہ ڪري. چئو تہ پنهنجي ڪفر مان ٿورا ڏينهن فائدو کڻي وٺ، بيشڪ تون باهہ وارن مان آهين، ڀلا جيڪو رات جي وقتن ۾ سجدي ۽ قيام جي حالت ۾ عاجزي ڪري رهيو هجي، آخرت کان ڊڄندو هجي ۽ پنهنجي رب جي رحمت جو اميدوار هجي. چئو ڇا سمجهہ وارا ۽ بي سمجهہ برابر ٿي سگهن ٿا. نصيحت تہ اُهي ئي ماڻهو وٺندا آهن جيڪي عقل وارا آهن. ٨-٩

هر ماڻهو تي اهڙو وقت ايندو آهي جڏهن هو پنهنجي پاڻ کي بيوس محسوس ڪرڻ لڳي ٿو. هو جن شين کي پنهنجو سهارو سمجهي رهيو هو، اهي بہ ان نازڪ وقت ۾ ان جون مددگار نہ ٿيون ٿين، ان وقت ماڻهو سڀ ڪجهہ وساري الله کي سڏڻ لڳندو آهي، اهڙي طرح مصيبت جي وقت ۾ هر ماڻهو ڄاڻي ٿو وٺي تہ هڪ الله کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي، پر مصيبت ختم ٿيندي ئي هو ٻيهر اڳ وانگر بڻجي ٿو وڃي.

انسان جي سرڪشي اها آهي جو هو پنهنجي نجات کي الله کان سواءِ ٻين شين ڏانهن منسوب ڪرڻ لڳندو آهي. ڪجهہ ماڻهو ان کي اسباب جو ڪرشمو ٻڌائيندا آهن ۽ ڪجهہ ماڻهو فرضي معبودن جو ڪرشمو. ماڻهو جيڪڏهن غلطي ڪري خاموش رهي تہ اهو صرف هڪ ماڻهو جو گمراهہ ٿيڻ آهي، پر جڏهن هو پنهنجي غلط کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ ڪوڙا دليل ڏي ٿو تہ هو گمراهہ ٿيڻ کان علاوہ ٻين کي گمراهہ ڪرڻ وارو بہ بڻجي ويندو آهي.

هڪ انسان اهو آهي جنهن کي صرف مادي غم بيقرار ڪري، ٻيو انسان اُهو آهي جنهن کي الله جي ياد بيقرار ڪري ڇڏي، اهو ٻيو انسان اصل ۾ الله وارو انسان آهي. ان الله جو اقرار ڪن حالتن جي ڪري نہ ڪيو هو، بلڪ اها ان جي شعوري دريافت هوندي آهي هو الله کي اهڙي برتر هستي جي حيثيت سان لهي ٿو جو ان جي اميدون ۽ ان جا خوف سڀ هڪ الله جي ذات سان وابستہ ٿي ويندا آهن. ان جي بيقراري رات جي وقت ۾ ان کي هنڌ کان جدا ڪري ڇڏي ٿي. ان جي تنهائي غفلت جي تنهائي نہ هوندي آهي، بلڪ تنهائي الله جي ياد بڻجي ويندي آهي.

علم وارو اهو آهي جنهن جي نفسيات کي الله جي ياد حرڪت ۾ آڻي ٿي ۽ بي علم اهو آهي جنهن جي نفسيات کي رڳو مادي حالتون بيدار ڪن ٿيون. هو مادي اسباب جي جهٽڪن سان جاڳي ٿو ۽ ان کان پوءِ ٻيهر غفلت جي ننڊ سمهي ٿو رهي.

قُلۡ يٰعِبَادِ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اتَّقُوۡا رَبَّكُمۡ ؕ لِلَّذِيۡنَ اَحۡسَنُوۡا فِيۡ هٰذِهِ الدُّنۡيَا حَسَنَةٌ ؕ وَ اَرۡضُ اللّٰهِ وَاسِعَةٌ ؕ اِنَّمَا يُوَفَّى الصّٰبِرُوۡنَ اَجۡرَهُمۡ بِغَيۡرِ حِسَابٍ ﴿١٠﴾

چؤ تہ اي منهنجا ٻانهو! جن ايمان آندو آهي پنهنجي رب کان ڊڄو. جن ماڻهن هن دنيا ۾ چڱائي ڪئي، تن لاءِ ڀلائي آهي ۽ الله جي زمين وسيع آهي. بيشڪ صبر ڪرڻ وارن کي سندن اجر بي حساب ڏنو ويندو. ١٠

---

ماڻهو کي جڏهن الله جي گهري معرفت حاصل ٿيندي آهي تہ ان جو لازمي نتيجو اهو ٿيندو آهي جو هو الله کان ڊڄڻ وارو بڻجي ويندو آهي، الله جي عظمتن جو احساس ان کي الله جي اڳيان جهڪائي ٿو ڇڏي. ان جي عملي زندگي الله جي حڪمن جي پابندي ۾ گذرڻ لڳندي آهي. هو ان معاملي ۾ ايتري حدتائين سنجيده ٿي ويندو آهي جو هو سڀ ڪجهہ ڇڏي سگهي ٿو، پر الله کي نہ ٿو ڇڏي سگهي.

ايمان مطابق زندگي جي تعمير ڪرڻ ماڻهو لاءِ زبردست امتحان آهي. ان امتحان ۾ اُهي ئي ماڻهو پورا لهندا آهن جن لاءِ ايمان ايتري قيمتي دولت بڻجي وڃي جو ان جي خاطر هو هر ٻئي شيءِ تي صبر ڪرڻ لاءِ راضي ٿي وڃن. ايماني زندگي عمل جي لحاظ کان صبر واري زندگي جو ٻيو نالو آهي. جيڪي ماڻهو صبر جي قيمت تي مؤمن بڻجڻ لاءِ تيار هجن، اُهي ئي اُهي ماڻهو آهن جيڪي الله جي اعليٰ انعامن ۾ حصيدار بڻايا ويندا.

قُلۡ اِنِّيۡۤ اُمِرۡتُ اَنۡ اَعۡبُدَ اللّٰهَ مُخۡلِصًا لَّهُ الدِّيۡنَ ﴿١١﴾ وَ اُمِرۡتُ لِاَنۡ اَكُوۡنَ اَوَّلَ
الۡمُسۡلِمِيۡنَ ﴿١٢﴾ قُلۡ اِنِّيۡۤ اَخَافُ اِنۡ عَصَيۡتُ رَبِّيۡ عَذَابَ يَوۡمٍ عَظِيۡمٍ ﴿١٣﴾ قُلِ اللّٰهَ اَعۡبُدُ
مُخۡلِصًا لَّهٗ دِيۡنِيۡ ﴿١٤﴾ فَاعۡبُدُوۡا مَا شِئۡتُمۡ مِّنۡ دُوۡنِهٖ ؕ قُلۡ اِنَّ الۡخٰسِرِيۡنَ الَّذِيۡنَ خَسِرُوۡۤا
اَنۡفُسَهُمۡ وَ اَهۡلِيۡهِمۡ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ ؕ اَلَا ذٰلِكَ هُوَ الۡخُسۡرَانُ الۡمُبِيۡنُ ﴿١٥﴾ لَهُمۡ مِّنۡ فَوۡقِهِمۡ
ظُلَلٌ مِّنَ النَّارِ وَ مِنۡ تَحۡتِهِمۡ ظُلَلٌ ؕ ذٰلِكَ يُخَوِّفُ اللّٰهُ بِهٖ عِبَادَهٗ ؕ يٰعِبَادِ فَاتَّقُوۡنِ ﴿١٦﴾

چؤ مون کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ آئون الله جي ئي عبادت ڪريان، ان ئي لاءِ دين کي خالص ڪندي ۽ مون کي

حڪم ڏنو ويو آهي تہ آئون سڀ کان پهرين خود مسلمان (فرمانبردار) ٿيان. چؤ تہ جيڪڏهن آئون پنهنجي رب جي نافرماني ڪريان تہ آئون هڪ وڏي ڏينهن جي عذاب کان ڊڄان ٿو. چؤ تہ آئون الله جي عبادت ڪريان ٿو ان ئي لاءِ دين کي خالص ڪندي. پوءِ توهان الله کان سواءِ جنهن جي چاهي عبادت ڪريو. چؤ خساري وارا تہ اهي آهن جن پاڻ کي ۽ پنهنجن گهروارن کي قيامت جي ڏينهن ٽوٽي ۾ وڌو، خبردار اهو ئي پڌرو خسارو آهي. سندن مٿان باهہ جون ڇٽيون هونديون ۽ سندن هيٺان بہ. اها شيءِ آهي جنهن کان الله پنهنجن ٻانهن کي ڊيڄاري ٿو، تنهن ڪري اي منهنجا ٻانهو! مون کان ڊڄو. ١١-١٦

---

پيغمبر جي اصل دعوت اها هوندي آهي تہ ماڻهو صرف هڪ الله جا پرستار بڻجن. ان کان سواءِ ٻين سيني شين جي پرستاري ڇڏي ڏين. پيغمبر لاءِ اهو ڪم صرف اڳواٽي ڪرڻ جو مسئلو نہ هوندو آهي. بلڪ اهو ان جو ذاتي مسئلو هوندو آهي. ان ڪري هو سيني کان پهرين خود الله جي عبادت تي قائم ٿيندو آهي. پيغمبر کي يقين هوندو آهي تہ ماڻهو جي نفعي ۽ نقصان جو اصل فيصلو آخرت ۾ ٿيڻ وارو آهي، ان ڪري هو خود پنهنجي زندگي کي آخرت جي راهہ ۾ لڳائيندو آهي ۽ ٻين کي ان راهہ ڏانهن سڏيندو آهي. پيغمبر جي ڪم جي اها نوعيت داعي جي ڪم جي نوعيت کي ٻڌائي رهي آهي. حق جو داعي اهوئي ماڻهو آهي جنهن لاءِ حق اُن جو ذاتي مسئلو بڻجي وڃي، جنهن جي دعوت ان جي اندروني حالت جو هڪ اظهار هجي، نہ وري لائوڊ اسپيڪر جي آواز وانگر صرف هڪ آواز.

وَ الَّذِيْنَ اجْتَنَبُوا الطَّاغُوْتَ اَنْ يَّعْبُدُوْهَا وَ اَنَابُوْٓا اِلَى اللّٰهِ لَهُمُ الْبُشْرٰى ۚ فَبَشِّرْ عِبَادِ ﴿١٧﴾ الَّذِيْنَ يَسْتَمِعُوْنَ الْقَوْلَ فَيَتَّبِعُوْنَ اَحْسَنَهٗ ؕ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ هَدٰىهُمُ اللّٰهُ وَ اُولٰٓئِكَ هُمْ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿١٨﴾

۽ جن ماڻهن شيطان جي عبادت کان پاسو ڪيو ۽ انهن الله ڏانهن رجوع ڪيو، انهن لاءِ خوشخبري آهي، پوءِ (منهنجن) انهن ٻانهن کي خوشخبري ڏي. جيڪي ڳالهہ کي غور سان ٻڌندا آهن. پوءِ ان مان تمام چڱي تي هلندا آهن. اِهي ئي اُهي ماڻهو آهن جن کي الله هدايت ڪئي آهي ۽ اهي ئي عقل وارا آهن. ١٧-١٨

---

موجوده دنيا امتحان جي دنيا آهي. هتي حقيقتون بي نقاب ٿي پنهنجي اصل شڪل ۾ ظاهر نہ ٿيون ٿين. اهوئي سبب آهي جو هتي هر ڳالهہ کي غلط معنيٰ ڏئي سگهجي ٿي. شيطان ان طريقي (غلط معنيٰ) کي استعمال ڪري ماڻهن کي سڌي واٽ کان گمراهہ ڪري ٿو.

جڏهن بہ ڪو حق سامهون ايندو آهي تہ شيطان ان کي غلط معنيٰ ڏئي ماڻهن جي ذهن کي ڦيرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هو ڳالهہ جي چڱي پهلو کي هٽائي، ڳالهہ جي غيراهم پهلو کي ماڻهن جي سامهون آڻيندو آهي، اهوئي اُهو مقام آهي جتي ماڻهو کان اصل امتحان ورتو ويندو آهي. ماڻهو کي ان عقل جو ثبوت ڏيڻو آهي تہ هو صحيح ۽ غلط ۾ فرق ڪري، هو شيطاني فريب جي پردي کي هٽائي حقيقت کي ڏسي وٺي. جيڪي ماڻهو ان بصيرت جو ثبوت ڏين، اهي ئي خوش قسمت ماڻهو آهن جن کي الله جي سچائي ملندي ۽ جيڪي ماڻهو ان بصيرت جو ثبوت ڏيڻ ۾ ناڪام رهندا، انهن لاءِ هن دنيا ۾ ان کان سواءِ ٻيو ڪو انجام نہ ٿيندو جو اهي ڳالهہ جي غيراهم پهلوئن ۾ منجهيل رهن ۽ الله وٽ شيطان جي پرستارن جي حيثيت سان اتاريا وڃن.

اَفَمَنْ حَقَّ عَلَيْهِ كَلِمَةُ الْعَذَابِ ؕ اَفَاَنْتَ تُنْقِذُ مَنْ فِى النَّارِ ﴿١٩﴾ لٰكِنِ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ
لَهُمْ غُرَفٌ مِّنْ فَوْقِهَا غُرَفٌ مَّبْنِيَّةٌ ۙ تَجْرِىْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۬ؕ وَعْدَ اللّٰهِ ؕ لَا يُخْلِفُ
اللّٰهُ الْمِيْعَادَ ﴿٢٠﴾

پوءِ ڇا جنهن تي عذاب جو حڪم ثابت ٿيو. پوءِ تون باهه ۾ پيل کي ڇڏائي سگهندين ڇا. پر جيڪي پنهنجي رب کان ڊنا تن لاءِ ماڙيون آهن. انهن جي مٿان (ٻيون) ماڙيون آهن. انهن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. اهو الله جو وعدو آهي. الله پنهنجي وعدي جي خلاف نه ٿو ڪري. ١٩-٢٠

---

هر ماڻهو پنهنجي عمل جي انجام جي گهيري ۾ آهي. جنت وارن کي جنتي فضا گهيري رکيو آهي ۽ جهنم وارن کي جهنمي فضا گهيري رکيو آهي. غيب جي حقيقتن کي ڏسڻ واري نظر هجي ته ماڻهو جنت واري انسان کي هن ئي دنيا ۾ جنت ۾ ڏسن ۽ جهنم واري انسان کي هن ئي دنيا ۾ جهنم جي گهيري ۾ ڏسن.

جنت آرزئون جي ان دنيا جي آخري معياري صورت آهي، جنهن کي ماڻهو هن دنيا ۾ حاصل ڪرڻ چاهي ٿو. پر هو ان کي حاصل نه ٿو ڪري سگهي. ان جنت جي قيمت الله جي تقويٰ آهي. جيڪي ماڻهو دنيا ۾ الله جي خوف جو ثبوت ڏيندا، اُهي ئي جنت جي بيخوف زندگي جا مالڪ ٿيندا.

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَسَلَكَهٗ يَنَابِيْعَ فِى الْاَرْضِ ثُمَّ يُخْرِجُ بِهٖ زَرْعًا
مُّخْتَلِفًا اَلْوَانُهٗ ثُمَّ يَهِيْجُ فَتَرٰىهُ مُصْفَرًّا ثُمَّ يَجْعَلُهٗ حُطَامًا ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَذِكْرٰى
ع ٢ ١٢ ١٦ لِاُولِى الْاَلْبَابِ ﴿٢١﴾ اَفَمَنْ شَرَحَ اللّٰهُ صَدْرَهٗ لِلْاِسْلَامِ فَهُوَ عَلٰى نُوْرٍ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ فَوَيْلٌ
لِّلْقٰسِيَةِ قُلُوْبُهُمْ مِّنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ؕ اُولٰٓئِكَ فِىْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٢٢﴾

ڇا تو نه ڏٺو ته الله آسمان مان پاڻي وسايو. پوءِ ان کي زمين جي چشمن ۾ وهايائين. پوءِ ان سان مختلف قسم جي پوک ڄمائيندو آهي. پوءِ اُها سڪي ويندي آهي تون ان کي زرد ٿيل ڏسندو آهين، وري ان کي ذرو ذرو ڪندو آهي. بيشڪ ان ۾ نصيحت آهي عقل وارن جي لاءِ. ڇا اهو شخص جنهن جو سينو الله اسلام لاءِ کولي ڇڏيو ۽ اهو پنهنجي رب طرفان هڪ روشني تي آهي. پوءِ ويل آهي انهن لاءِ جن جون دليون الله جي نصيحت جي معاملي ۾ سخت ٿي ويون. اهي ماڻهو پڌري گمراهي ۾ آهن. ٢١-٢٢

---

زمين تي مينهن جو حيرت انگيز نظام، پوءِ ان مان پوک جو ڄمڻ، پوءِ فصل جي تياري. انهن مادي واقعن ۾ بيشمار نصيحتون آهن، پر انهن نصيحتن کي اُهي ئي ماڻهو سمجهندا آهن. جيڪي ڳالهين جي گهرائي ۾ لهڻ جو مزاج رکندا هجن.

هڪ پاسي الله دنيا کي ان ڍنگ تي ٺاهيو آهي جو ان جي هر شيءِ اعليٰ حقيقت جي نشاني بڻجي وئي آهي، ٻئي پاسي انسان جي اندر الله اهڙيون صلاحيتون رکي ڇڏيون آهن جو هو انهن نشانين تي غور ڪري انهن کي سمجهي سگهي ٿو. پوءِ جيڪي ماڻهو پنهنجي فطري صلاحيتن کي زنده رکن ۽ انهن کان ڪم وٺندي دنيا جي شين تي غور ڪن ته انهن جي سيني ۾ معرفت جا دروازا کلي ويندا ۽

جيکي ماڻهو پنهنجي فطري صلاحيتن کي زندهہ نہ رکي سگهن، اهي نصيحتن جي سمنڊ ۾ بہ نصيحت وٺڻ کان محروم رهندا، اهي ڏسندي بہ کجهہ نہ ڏسندا ۽ ٻڌندي بہ کجهہ نہ ٻڌندا.

اَللّٰهُ نَزَّلَ اَحۡسَنَ الۡحَدِيۡثِ كِتٰبًا مُّتَشَابِهًا مَّثَانِيَ ۖ تَقۡشَعِرُّ مِنۡهُ جُلُوۡدُ الَّذِيۡنَ يَخۡشَوۡنَ رَبَّهُمۡ ۚ ثُمَّ تَلِيۡنُ جُلُوۡدُهُمۡ وَ قُلُوۡبُهُمۡ اِلٰى ذِكۡرِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ هُدَى اللّٰهِ يَهۡدِىۡ بِهٖ مَنۡ يَّشَآءُ ؕ وَ مَنۡ يُّضۡلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنۡ هَادٍ ﴿٢٣﴾

الله بهترين ڪلام نازل ڪيو آهي، هڪ اهڙو ڪتاب (جنهن جا مضمون) پاڻ ۾ ملندڙ جلندڙ، بار بار دهرايل آهن. ان سان انهن ماڻهن جا جا لڱ ڪانڊارجن ٿا جيڪي پنهنجي رب کان ڊڄڻ وارا آهن. پوءِ سندن لنڱ ۽ سندن دليون نرم ٿي ڪري الله جي ياد ڏانهن متوجهہ ٿي وينديون آهن. هي الله جي هدايت آهي هو ان سان هدايت ڏيندو آهي جنهن کي چاهيندو آهي ۽ جنهن کي الله گمراهہ ڪري تنهن کي ڪو هدايت ڏيڻ وارو نہ آهي. ٢٣

---

قرآن جي صورت ۾ الله تعاليٰ هڪ بهترين ڪتاب انسان کي عطا ڪيو آهي. ان جون بہ خاص صفتون آهن، هڪ اها تہ هو متشابہ (ملندڙ جلندڙ) آهي يعني هو هڪ تضاد کان پاڪ ڪتاب آهي، ان جي هڪ جز ۽ ان جي ٻئي جز ۾ ڪو ٽڪراءُ نہ آهي، قرآن جي اها صفت ٻڌائي ٿي تہ هن ڪتاب جو بيان حقيقت تي مبني آهي. جيڪڏهن ان جا بيان حقيقت جي مطابق نہ هجن ها تہ ضرور ان جي مختلف جزن جي وچ ۾ اختلاف ۽ (Inconsistency) عدم يڪسانيت پيدا ٿي وڃي ها.

قرآن جي ٻي صفت هي آهي تہ هو مثاني (دهرايل) ڪتاب آهي. يعني ان جا مضمون بار بار مختلف انداز ۾ دهرايا ويا آهن. قرآن جي اها صفت ان جي نصيحت واري ڪتاب هئڻ کي ظاهر ڪري ٿي. نصيحت ڪرڻ وارو هميشہ اهو چاهيندو آهي تہ ان جي ڳالهہ ٻڌڻ واري جي ذهن ۾ ويهي وڃي. ان مقصد لاءِ هو پنهنجي ڳالهہ کي مختلف انداز ۾ بيان ڪري ٿو. اها حڪمت اعليٰ ترين انداز ۾ قرآن ۾ بہ آهي.

انسان جي اندر اها خاصيت آهي تہ جڏهن هو ڪا هيبتناڪ خبر ٻڌي ٿو تہ ان جي جسم جا وار اُڀا ٿي ويندا آهن ۽ ان جي وجود ۾ هڪ قسم جي عاجزي پيدا ٿي ويندي آهي. اهوئي حال سنجيده انسان جو قرآن کي پڙهي ٿيندو آهي، قرآن ۾ زندگي جي سنگين حقيقتن کي انتهائي اثرائتي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي، ان ڪري انسان جهڙي مخلوق جيڪڏهن ان کي سمجهي پڙهي تہ ان جي جسم تي اهائي ڪيفيت طاري ٿيندي جيڪا ڪنهن سنگين خبر کي ٻڌي فطري طور تي ان تي طاري ٿيڻ گهرجي.

اَفَمَنۡ يَّتَّقِىۡ بِوَجۡهِهٖ سُوۡٓءَ الۡعَذَابِ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ ؕ وَ قِيۡلَ لِلظّٰلِمِيۡنَ ذُوۡقُوۡا مَا كُنۡتُمۡ تَكۡسِبُوۡنَ ﴿٢٤﴾ كَذَّبَ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ فَاَتٰىهُمُ الۡعَذَابُ مِنۡ حَيۡثُ لَا يَشۡعُرُوۡنَ ﴿٢٥﴾ فَاَذَاقَهُمُ اللّٰهُ الۡخِزۡىَ فِى الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا ۚ وَلَعَذَابُ الۡاٰخِرَةِ اَكۡبَرُ ۘ لَوۡ كَانُوۡا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿٢٦﴾

ڇا اهو شخص جيڪو قيامت جي ڏينهن پنهنجي منهن سان بڇڙي عذاب کي روڪيندو ۽ ظالمن کي چيو ويندو تہ مزو چکو ان ڪمائي جو جيڪي توهان ڪندا هئا. جيڪي ڪانئن اڳ هئا تن بہ ڪوڙ ڀانئيو. پوءِ انهن تي عذاب اتان پهتو جتان سندن خيال بہ نہ هو. پوءِ الله کين دنيا جي زندگي ۾ رسوائي جو مزو چکايو ۽ آخرت جو

عذاب تمام وڏو آهي، ڪاش! اهي ماڻهو ڄاڻن ها. ٢٤-٢٦

---

ماڻهو جي ڪوشش هميشہ اها هوندي آهي تہ هو پنهنجي منهن کي ڏک کان بچائي پر قيامت جو عذاب ماڻهو کي اهڙي طرح گهيريندو تہ اتي اهو ممڪن نہ هوندو جو ماڻهو پنهنجي جسم جي ڪنهن حصي کي ان کان بچائي سگهي. هو هڪ ناقابل دفاع جهڙي عذاب جي سامهون اهڙي طرح بيٺو هوندو ڄڻ هو خود پنهنجي منهن سان ان کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

الله جي نظر ۾ سڀني کان وڏو جرم اهو آهي تہ ماڻهو جي سامهون حق اچي ۽ هو ان جو اعتراف نہ ڪري. اهڙا ماڻهو ڪنهن بہ حال ۾ الله جي پڪڙ کان بچي نہ ٿا سگهن.

وَ لَقَدۡ ضَرَبۡنَا لِلنَّاسِ فِیۡ هٰذَا الۡقُرۡاٰنِ مِنۡ کُلِّ مَثَلٍ لَّعَلَّهُمۡ یَتَذَکَّرُوۡنَ ﴿٢٧﴾ قُرۡاٰنًا عَرَبِیًّا
غَیۡرَ ذِیۡ عِوَجٍ لَّعَلَّهُمۡ یَتَّقُوۡنَ ﴿٢٨﴾ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا رَّجُلًا فِیۡهِ شُرَکَآءُ مُتَشٰکِسُوۡنَ وَ
رَجُلًا سَلَمًا لِّرَجُلٍ ؕ هَلۡ یَسۡتَوِیٰنِ مَثَلًا ؕ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ ۚ بَلۡ اَکۡثَرُهُمۡ لَا یَعۡلَمُوۡنَ ﴿٢٩﴾ اِنَّکَ
مَیِّتٌ وَّ اِنَّهُمۡ مَّیِّتُوۡنَ ﴿٣٠﴾ ثُمَّ اِنَّکُمۡ یَوۡمَ الۡقِیٰمَةِ عِنۡدَ رَبِّکُمۡ تَخۡتَصِمُوۡنَ ﴿٣١﴾ ع ١٧

۽ اسان ماڻهن لاءِ هن قرآن ۾ هر قسم جا مثال بيان ڪياسون، تہ جيئن اهي نصيحت حاصل ڪن. هي عربي قرآن آهي. ان ۾ ڪا بہ ڏنگائي نہ آهي، تہ جيئن ماڻهو ڊڄن. الله مثال بيان ڪري ٿو تہ هڪ شخص جي جنهن جا ڪيترائي ضدي مالڪ آهن ۽ ٻيو شخص خالص هڪ ئي مالڪ جو غلام آهي. ڇا اِهي ٻئي برابر ٿي سگهن ٿا. سڀ ساراهہ الله جي لاءِ آهي. پر اڪثر ماڻهو نٿا ڄاڻن. بيشڪ تو کي بہ مرڻو آهي ۽ اهي بہ مرندا. پوءِ اوهين قيامت جي ڏينهن پنهنجي رب جي سامهون پنهنجو مقدمو پيش ڪندؤ. ٢٧-٣١

---

قرآن جا بيان انسان جي معلوم، ڄاتل زبان ۾ انسان جي سمجهہ مطابق هوندا آهن، تہ جيئن ڪنهن جي لاءِ ان کي سمجهڻ مشڪل نہ ٿئي.

هتي مثال جي زبان ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ شرڪ جي مقابلي ۾ توحيد جو اصول وڌيڪ معقول ۽ وڌيڪ فطرت جي مطابق آهي. هڪ پاسي سڄي ڪائنات ٻڌائي ٿي تہ هتي هڪ ئي ارادي جي ڪارفرمائي آهي. جيڪڏهن هتي ڪيترن ئي ارادن ۽ حڪمن جي ڪارفرمائي هجي ها تہ ڪائنات جو نظام ايتري قدر هم آهنگي سان نہ هلي سگهي ها. ٻئي پاسي انسان جي فطرت بہ اهڙي آهي جو وفاداري ۾ وحدت کي پسند ڪري ٿي، اها ڳالهہ انساني فطرت جي سراسر خلاف آهي تہ هڪ انسان تي هڪ ئي وقت ڪيترين ئي مختلف قسمن جي وفادارين جي ذميداري هجي ۽ ان جي نتيجي ۾ هو هڪڙي کي بہ نڀائي نہ سگهي.

سڀئي دليل ۽ حالتون اهو ئي ٻڌائين ٿيون تہ صرف هڪ خدا آهي جيڪو انسان جو خالق ۽ ان جو معبود آهي. موجوده دنيا ۾ اها حقيقت پاڻ جهڙي هڪ انسان جي زبان سان ٻڌائي وڃي ٿي. قيامت ۾ خود ڪائنات جو خالق ان حقيقت جو اعلان فرمائيندو، ان وقت ڪنهن ماڻهو لاءِ اهو ممڪن نہ هوندو جو هو ان امر جو انڪار ڪري سگهي.

الجزء الرابع والعشرون (٢٤)
فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَذَبَ عَلَى اللّٰهِ وَ كَذَّبَ بِالصِّدْقِ اِذْ جَآءَهٗ ؕ اَلَيْسَ فِيْ جَهَنَّمَ مَثْوًى
لِّلْكٰفِرِيْنَ۝۳۲ وَ الَّذِيْ جَآءَ بِالصِّدْقِ وَ صَدَّقَ بِهٖۤ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُتَّقُوْنَ۝۳۳ لَهُمْ مَّا
يَشَآءُوْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ ؕ ذٰلِكَ جَزٰٓؤُا الْمُحْسِنِيْنَ۝ۚۖ۳۴ لِيُكَفِّرَ اللّٰهُ عَنْهُمْ اَسْوَاَ الَّذِيْ
عَمِلُوْا وَيَجْزِيَهُمْ اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ الَّذِيْ كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ۝۳۵

ان شخص کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جنهن الله تي ڪوڙ ناهيو ۽ جڏهن ان وٽ سچائي آئي ته ان کي ڪوڙ چاتائين. ڇا اهڙن ڪافرن جو ٺڪاڻو جهنم ۾ نه هوندو ۽ جيڪو سچائي کڻي آيو ۽ جنهن ان جي تصديق ڪئي اهي ئي ماڻهو الله کان ڊڄڻ وارا آهن. انهن لاءِ سندن رب وٽ اهو سڀ ڪجھ آهي جيڪو هو چاهيندا. هي بدلو آهي نيڪي ڪرڻ وارن جو، ته جيئن الله انهن کان سندن برن عملن کي ميٽي ڇڏي ۽ سندن نيڪ ڪمن جي بدلي ڪين سندن ثواب ڏي. ٣٢-٣٥

---

هر اهو نظريو جيڪو حقيقت مطابق نه هجي، اهو الله تي ڪوڙ ٻڌڻ آهي. هر دور ۾ ماڻهو اهڙي ئي قسم جي ڪوڙ تي زندگي گذاري رهيا هوندا آهن. الله جو داعي ان ڪري ايندو آهي جو هو اهڙي ڪوڙ جو ڪوڙو هجڻ ثابت ڪري، ان کان پوءِ به جيڪي ماڻهو پنهنجي ڪوڙ تي قائم رهن، اهي سرڪش ماڻهو آهن، اهي جهنم جي باھ ۾ وڌا ويندا ۽ جيڪي ماڻهو حق کي مڃي ان جا ساٿي بڻجي وڃن، اهي ئي الله کان ڊڄڻ وارا آهن. الله تعاليٰ اهڙن ماڻهن جي برائين کي سندن عملن مان مٽائي ڇڏيندو ۽ سندن نيڪ عملن جي ڪري سندن قدر فرمائيندو.

اَلَيْسَ اللّٰهُ بِكَافٍ عَبْدَهٗ ؕ وَ يُخَوِّفُوْنَكَ بِالَّذِيْنَ مِنْ دُوْنِهٖ ؕ وَ مَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ
مِنْ هَادٍ۝ۚ۳۶ وَمَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ مُّضِلٍّ ؕ اَلَيْسَ اللّٰهُ بِعَزِيْزٍ ذِي انْتِقَامٍ۝۳۷

ڇا الله پنهنجي ٻانهي لاءِ ڪافي نه آهي ۽ الله کان سواءِ ٻين کان توکي ڊيڄاريندا آهن ۽ الله جنهن کي گمراھ ڪري ڇڏي تنهن کي ڪو رستو ڏيکارڻ وارو نه آهي ۽ الله جنهن کي هدايت ڏي ان کي ڪو گمراھ ڪرڻ وارو نه آهي. ڇا الله غالب انتقام وٺڻ وارو نه آهي. ٣٦-٣٧

---

رسول اللهﷺ توحيد جا داعي هئا. پر پاڻﷺ جو طريقو اهو نه هو جو ”الله هڪ آهي“ جي مثبت اعلان کي ڪافي سمجهن، ان سان گڏ پاڻﷺ انهن غير خدائي هستين جي ترديد به فرمائيندا هئا، جن کي ماڻهن خود معبود جو درجو ڏئي رکيو هو، پاڻﷺ جي دعوت جو اهوئي پيو جز ماڻهن جي لاءِ ناقابل برداشت بڻجي ويو.

اهي غيرخدائي هستيون اصل ۾ قوم جا بزرگ هئا. صدين کان اُهي سندن ڪرامتن جون آڪاٽيون ٻڌندا پئي آيا. سندن ذهن تي انهن هستين جي عظمت ڇانئجي وئي هئي. پوءِ جڏهن رسول اللهﷺ انهن جي مقدس هجڻ جي ترديد فرمائي ته ڪين سمجھ ۾ نه آيو ته اهي غيرمقدس ڪيئن ٿي سگهن ٿا. انهن رسول اللهﷺ کي چيو ته تون اسان جي معبودن کي برو چوڻ ڇڏي ڏي، نه ته تون تباھ ٿي ويندين يا توکي جنون ٿي ويندو. (قالو التکفن عن شتم الهتنا اوليصيبنک منهم خبل او جنون).

پر حق جي داعي کي حڪم آهي ته اهو اهڙي قسم جي ڳالهين جي پرواهہ نہ ڪري. هو الله جي پروسي تي توحيد جو اعلان ڪري ۽ شرڪ جي ترديد جو ڪم جاري رکي، ڇاڪاڻ ان کان سواءِ امر حق پوري طرح واضح نہ ٿو ٿي سگهي.

وَ لَىِٕنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ؕ قُلْ اَفَرَءَيْتُمْ مَّا تَدْعُوْنَ
مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ اَرَادَنِيَ اللّٰهُ بِضُرٍّ هَلْ هُنَّ كٰشِفٰتُ ضُرِّهٖۤ اَوْ اَرَادَنِيْ بِرَحْمَةٍ هَلْ هُنَّ
مُمْسِكٰتُ رَحْمَتِهٖ ؕ قُلْ حَسْبِيَ اللّٰهُ ؕ عَلَيْهِ يَتَوَكَّلُ الْمُتَوَكِّلُوْنَ ۝٣٨ قُلْ يٰقَوْمِ اعْمَلُوْا عَلٰى
مَكَانَتِكُمْ اِنِّيْ عَامِلٌ ۚ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۝٣٩ مَنْ يَّاْتِيْهِ عَذَابٌ يُّخْزِيْهِ وَ يَحِلُّ عَلَيْهِ
عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ۝٤٠ اِنَّاۤ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ لِلنَّاسِ بِالْحَقِّ ۚ فَمَنِ اهْتَدٰى فَلِنَفْسِهٖ ۚ وَ
ع مَنْ ضَلَّ فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيْهَا ۚ وَ مَاۤ اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِوَكِيْلٍ ۝٤١

۽ جيڪڏهن تون انهن کان پڇين تہ آسمانن کي ۽ زمين کي ڪنهن پيدا ڪيو تہ هو چوندا تہ الله. چؤ توهان جو ڇا خيال آهي الله کان سواءِ توهان جن کي سڏيندا آهيو، جيڪڏهن الله مون کي ڪا تڪليف ڏيڻ گهري تہ ڇا اهي ان جي ڏنل تڪليف کي ٽاري سگهن ٿا يا الله مون تي ڪا مهرباني ڪرڻ چاهي تہ ڇا اهي ان مهرباني کي روڪڻ وارا ٿي سگهن ٿا. چؤ تہ الله منهنجي لاءِ ڪافي آهي. ڀروسو ڪرڻ وارا ان ئي تي ڀروسو ڪندا آهن. چؤ تہ اي منهنجي قوم! اوهين پنهنجي جاءِ عمل ڪريو. آئون بہ عمل ڪري رهيو آهيان. پوءِ اوهان جلد ئي ڄاڻي وٺندو تہ ڪنهن تي رسوا ڪندڙ عذاب اچي ٿو ۽ ڪنهن تي اهو عذاب اچي ٿو جيڪو ڪڏهن ٽرڻ وارو نہ آهي. اسان ماڻهن جي هدايت لاءِ هي ڪتاب توتي حق سان نازل ڪيو آهي. پوءِ جيڪو شخص هدايت حاصل ڪندو هو پنهنجي ئي لاءِ ڪندو ۽ جيڪو شخص گمراهہ ٿيندو تہ ان جو گمراهہ ٿيڻ ان تي ئي پوندو ۽ تون مٿن ڪو ذميوار نہ آهين. ٣٨-٤١

---

انسان هر دور ۾ غيرالله جي عبادت ڪندو رهيو آهي، پر ڪو ماڻهو اهو چوڻ جي همت نہ ٿو ڪري تہ ان جي انهن پسنديده هستين زمين ۽ آسمان کي بڻايو آهي يا تڪليف ۽ آرام جي حالتن جا حقيقي سبب سندن اختيار ۾ آهن. ان بي يقيني جي باوجود ماڻهن جو اهو يقين ڪيترو نہ عجيب آهي جو هو پنهنجن ڪوڙن معبودن کي ڇڏڻ تي راضي نہ ٿا ٿين.

جڏهن داعي جا دليل مدعو تي بي اثر ثابت ٿين تہ ان وقت داعي وٽ چوڻ لاءِ جيڪا ڳالهہ باقي رهي ٿي اُها اِها آهي تہ توهان جيڪي چاهيو ڪريو، جڏهن آخري فيصلي جو ڏينهن ايندو تہ هو ٻڌائي ڇڏيندو تہ ڪير حق تي هو ۽ ڪير ناحق تي. اهو دليل کان پوءِ يقين جو اظهار آهي ۽ داعي جو آخري ڪلمو هميشہ اهوئي هوندو آهي.

اَللّٰهُ يَتَوَفَّى الْاَنْفُسَ حِيْنَ مَوْتِهَا وَ الَّتِيْ لَمْ تَمُتْ فِيْ مَنَامِهَا ۚ فَيُمْسِكُ الَّتِيْ قَضٰى عَلَيْهَا
الْمَوْتَ وَ يُرْسِلُ الْاُخْرٰۤى اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ۝٤٢

الله ماڻهن جا روح سندن مرڻ جي مهل ڪيندو آهي ۽ جيڪو نہ مئو آهي (تنهن جو روح) سندن ننڊ ۾ (ڪيندو

آهي) پوءِ جنهن تي موت جو حڪم ڪيو اٿس تنهن کي جهليندو آهي ۽ ٻين کي هڪ مقرر مدت تائين ڇڏيندو
آهي. بيشڪ هن ۾ انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن جيڪي غور ڪندا آهن. ٤٢

ننڊ جي وقت ماڻهو تي بيخبري جي حالت طاري ٿي ويندي آهي. ان لحاظ کان ننڊ ڄڻ موت جو مثال آهي. پوءِ جڏهن ماڻهو سمهي اٿندو آهي ته وري هو هوش جي حالت ۾ اچي ويندو آهي. اِهو ڄڻ ته موت کان پوءِ ٻيهر جيئرو ٿيڻ جو مثال آهي.

ان فطرت جي قانون تحت هر ماڻهو کي اچ ئي ڏيکاريو پيو وڃي ته هو ڪهڙي طرح مرندو ۽ ڪهڙي طرح ٻيهر زنده ٿي اٿندو. ماڻهو جيڪڏهن سنجيدگي سان غور ڪري ته هو هن دنياوي واقعي مان پنهنجي لاءِ آخرت جو سبق حاصل ڪري سگهي ٿو.

اَمِ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ شُفَعَآءَ ؕ قُلْ اَوَ لَوْ كَانُوْا لَا يَمْلِكُوْنَ شَيْـًٔا وَّ لَا يَعْقِلُوْنَ ۝٤٣
قُلْ لِّلّٰهِ الشَّفَاعَةُ جَمِيْعًا ؕ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ ثُمَّ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ۝٤٤ وَ اِذَا
ذُكِرَ اللّٰهُ وَحْدَهُ اشْمَاَزَّتْ قُلُوْبُ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ ۚ وَ اِذَا ذُكِرَ الَّذِيْنَ مِنْ
دُوْنِهٖۤ اِذَا هُمْ يَسْتَبْشِرُوْنَ ۝٤٥ قُلِ اللّٰهُمَّ فَاطِرَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ عٰلِمَ الْغَيْبِ وَ
الشَّهَادَةِ اَنْتَ تَحْكُمُ بَيْنَ عِبَادِكَ فِيْ مَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ۝٤٦ وَ لَوْ اَنَّ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا
مَا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا وَّ مِثْلَهٗ مَعَهٗ لَافْتَدَوْا بِهٖ مِنْ سُوْٓءِ الْعَذَابِ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ وَ بَدَا
لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مَا لَمْ يَكُوْنُوْا يَحْتَسِبُوْنَ ۝٤٧ وَ بَدَا لَهُمْ سَيِّاٰتُ مَا كَسَبُوْا وَ حَاقَ بِهِمْ مَّا
كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ۝٤٨

ڇا انهن الله کي ڇڏي ٻين کي سفارشي بڻائي رکيو آهي. چئو جيڪڏهن اهي نه ڪجهه اختيار رکندا هجن ۽ نه ڪجهه سمجهندا هجن. چئو سفارش سڄي جي سڄي الله جي اختيار ۾ آهي. آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي ان جي آهي، پوءِ اوهين ان ڏانهن موٽايا ويندؤ ۽ جڏهن اڪيلي الله جو ذڪر ڪيو ويندو آهي ته انهن ماڻهن جون دليون ڪڙهنديون آهن. جيڪي آخرت تي ايمان نٿا رکن ۽ جڏهن ان کان سواءِ ٻين جو ذڪر ٿيندو آهي ته ان وقت اهي خوش ٿي ويندا آهن. چئو ته اي الله آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪرڻ وارا، غائب ۽ حاضر کي ڄاڻڻ وارا، تون ئي پنهنجي ٻانهن جي وچ ۾ ان ڳالھ جو فيصلو ڪندين جنهن ۾ اهي اختلاف ڪري رهيا آهن ۽ جيڪڏهن ظلم ڪرڻ وارن وٽ اهو سڀ ڪجهه هجي جيڪو زمين ۾ آهي ۽ ان جيترو ٻيو به ته اُهي قيامت جي ڏينهن سخت عذاب کان بچڻ لاءِ ان کي فديي ۾ ڏئي ڇڏين ۽ الله طرفان ڪين اهو معاملو پيش ايندو جنهن جو ڪين گمان به نه هو ۽ سندن سامهون اچي ويندا سندن برا عمل ۽ اها شيءِ ڪين گهيري وٺندي جنهن جو اهي مذاق اڏائيندا هئا. ٤٣-٤٨

عرب جا مشرڪ جن جي متعلق اهو عقيدو رکندا هئا ته الله وٽ هو سندس سفارش ڪرڻ وارا بڻجي ويندا، اُهي حقيقت ۾ پٿر جا بت نه هئا. هي اهي بزرگ هستيون هيون جن جي علامت طور انهن پٿر جا بت بڻائي رکيا هئا. انهن جا سفارشي اصل ۾ انهن جا قومي اڳواڻ هئا، جن جي متعلق سندن عقيدو هو ته انهن جو دامن جهلي رکو. اُهي الله وٽ توهان لاءِ ڪافي ٿي ويندا.

جيڪي ماڻهو غيرالله جي باري ۾ اهڙي قسم جا عقيدا ٺاهيندا آهن ته آهستي آهستي سندن حال اهو ٿي ويندو آهي جو انهن جون سڀئي عقيدتون ۽ اميدون انهن ئي غير خدائي شخصيتن سان وابسته ٿي وينديون آهن. انهن شخصيتن جي وڏائي جون ڳالهيون ٻڌي اُهي گهڻا خوش ٿيندا آهن. پر جيڪڏهن هڪ الله جي وڏائي بيان ڪئي وڃي ته سندن روح ڪي ان مان ڪا خوشي نه ٿي ملي.

اهڙن ماڻهن جي سامهون چاهي ڪيترن ئي طاقتور دليلن سان خالص توحيد ڪي بيان ڪيو وڃي، پر هو ان ڪي مڃڻ وارا نه ٿا بڻجن. سندن اکيون صرف ان وقت کلنديون آهن جڏهن قيامت جو پردو هٽي ۽ الله جو جلال ظاهر ٿي وڃي. اڄ جي ماڻهو جو حال اهو آهي جو هو اعتراف جا ڪجھ لفظ چوڻ لاءِ به تيار نه ٿو ٿئي. پر جڏهن اهو وقت ايندو ته هو چاهيندو ته جيڪو ڪجھ ان وٽ آهي اهو سڀ جو سڀ ان کان بچڻ لاءِ فديي ۾ ڏئي ڇڏي، پر اتي ماڻهو جي پنهنجي عمل کان سواءِ ڪا شيءِ نه هوندي جيڪا ان جي ڪم اچي سگهي.

فَاِذَا مَسَّ الۡاِنۡسَانَ ضُرٌّ دَعَانَا ۫ ثُمَّ اِذَا خَوَّلۡنٰهُ نِعۡمَةً مِّنَّا ۙ قَالَ اِنَّمَاۤ اُوۡتِيۡتُهٗ عَلٰى عِلۡمٍ ؕ
بَلۡ هِىَ فِتۡنَةٌ وَّ لٰـكِنَّ اَكۡثَرَهُمۡ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿۴۹﴾ قَدۡ قَالَهَا الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ فَمَاۤ اَغۡنٰى
عَنۡهُمۡ مَّا كَانُوۡا يَكۡسِبُوۡنَ ﴿۵۰﴾ فَاَصَابَهُمۡ سَيِّاٰتُ مَا كَسَبُوۡا ؕ وَ الَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا مِنۡ هٰٓؤُلَاۤءِ
سَيُصِيۡبُهُمۡ سَيِّاٰتُ مَا كَسَبُوۡا ۙ وَ مَا هُمۡ بِمُعۡجِزِيۡنَ ﴿۵۱﴾ اَوَ لَمۡ يَعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ يَبۡسُطُ
الرِّزۡقَ لِمَنۡ يَّشَآءُ وَيَقۡدِرُ ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوۡمٍ يُّؤۡمِنُوۡنَ ﴿۵۲﴾ ع

پوءِ جڏهن انسان کي ڪا تڪليف پهچي ٿي ته هو اسان کي سڏيندو آهي. پوءِ جڏهن اسان پنهنجي طرفان ان کي ڪا نعمت ڏيندا آهيون ته هو چوندو آهي ته هي ته مون کي (پنهنجي) علم جي ڪري ڏنو ويو آهي. بلڪ هي آزمائش آهي. پر انهن مان اڪثر ماڻهو نه ٿا ڄاڻن. ڪائنڻ اڳين به اها ڳالھ چئي. پوءِ جيڪو ڪجھ هو ڪمائيندا هئا اُهو انهن جي ڪجھ ڪم نه آيو پوءِ جيڪي ڪمايائون تنهن جون بڇڙايون کين پهتيون ۽ انهن مان جيڪي ظالم آهن تن جيڪي ڪمايو تنهن جون بڇڙايون کين سگهوئي پهچنديون. اُهي اسان کي عاجز ڪرڻ وارا نه آهن. ڇا انهن کي معلوم نه آهي ته الله جنهن لاءِ گهرندو آهي رزق ڪشاد ڪندو آهي ۽ اهوئي گهٽ ڪندو آهي. بيشڪ ان ۾ نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ايمان آڻڻ وارا آهن. ٤٩-٥٢

---

دنيا ۾ ماڻهو کي جڏهن ڪا شيءِ ملندي آهي ته هو ان کي پنهنجي قابليت جو نتيجو سمجهي خوش ٿيندو آهي. حالانڪ دنيا جون شيون آزمائش جو سامان آهن نه وري قابليت جو انعام. ان ئي حقيقت کي ڄاڻڻ سيني کان وڏو علم آهي. دنيا جي شين کي ماڻهو جيڪڏهن پنهنجي قابليت جو نتيجو سمجهي ته ان سان ان ۾ فخر ۽ تڪبر جي نفسيات پيدا ٿيندي. ان جي ابتڙ جڏهن ماڻهو ان کي آزمائش جو سامان سمجهي ته ان ۾ شڪر ۽ عاجزي جا جذبا پيدا ٿيندا آهن.

دنيا جي رزق جي ڪمي يا گهٽائي سڀ انساني اختيار کان ٻاهر جي شيءِ آهي، ايئن معلوم ٿيندو آهي ته انسان کان ٻاهر ڪا قوت آهي جيڪا اهو فيصلو ڪندي آهي ته ڪنهن کي گهڻو ملي ۽ ڪنهن کي گهٽ ڏنو وڃي. اها حقيقت ٻڌائي ٿي ته رزق جو فيصلو ماڻهو جي قابليت جي بنياد تي نه

ٿيندو آهي بلڪ ان جو فيصلو ڪنهن ٻي بنياد تي ٿيندو آهي. اهو بنياد اهو آهي ته موجوده دنيا امتحان جي جاءِ آهي نه وري انعام جي جاءِ. ان ڪري اُتي ڪنهن کي جيڪو ڪجھ ملي ٿو، اهو امتحان جو پرچو هوندو آهي، امتحان وٺڻ وارو پنهنجي فيصلي تحت ڪنهن کي کھڙو پرچو ڏيندو آهي ۽ ڪنهن کي کھڙو پرچو. ڪنهن کي کھڙي حالتن ۾ آزمائيندو آهي ۽ ڪنهن کي کھڙي حالتن ۾.

قُلۡ يٰعِبَادِیَ الَّذِيۡنَ اَسۡرَفُوۡا عَلٰۤى اَنۡفُسِهِمۡ لَا تَقۡنَطُوۡا مِنۡ رَّحۡمَةِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَغۡفِرُ الذُّنُوۡبَ جَمِيۡعًا ؕ اِنَّهٗ هُوَ الۡغَفُوۡرُ الرَّحِيۡمُ ﴿۵۳﴾ وَ اَنِيۡبُوۡۤا اِلٰى رَبِّكُمۡ وَ اَسۡلِمُوۡا لَهٗ مِنۡ قَبۡلِ اَنۡ يَّاۡتِيَكُمُ الۡعَذَابُ ثُمَّ لَا تُنۡصَرُوۡنَ ﴿۵۴﴾

چؤ ته اي منهنجا ٻانهو جن پنهنجي جانين تي زيادتي ڪئي آهي، الله جي رحمت کان مايوس نه ٿيو. بيشڪ الله سڀ گناهه معاف ڪندڙ آهي. هو بخشڻهار مهربان آهي ۽ پنهنجي رب ڏانهن رجوع ڪريو ۽ سندس فرمانبردار ٿيو. ان کان اڳ جو توهان تي عذاب اچي. پوءِ توهان جي ڪا مدد نه ڪئي وڃي. ٥٣-٥٤

---

جن ماڻهن جي سيني ۾ حساس دل هوندو آهي ۽ جڏهن ڪين الله جي معرفت حاصل ٿيندي آهي ته ڪين اهو خيال ستائڻ لڳندو آهي ته اڄ تائين انهن کان جيڪي گناهه ٿيا آهن انهن جو ڇا ٿيندو؟ اهڙي طرح نيڪ زندگي اختيار ڪرڻ کان پوءِ به ماڻهو کان بار بار غلطيون ٿينديون آهن ۽ ان جو ضمير ٻيهر ان کي ستائڻ لڳندو آهي، ايستائين جو اهو احساس ڪجھ ماڻهن کي مايوسي جو حدتائين پهچائي ڇڏيندو آهي.

اهڙن ماڻهن لاءِ الله پنهنجي ڪتاب ۾ اهو اعلان فرمايو آهي ته ڪين يقين هجڻ گھرجي ته سندن معاملو هڪ اهڙي الله سان آهي جيڪو غفور و رحيم آهي. هو ماڻهو جي ماضي کي نه بلڪ سندس حال کي ڏسندو آهي. هو ماڻهو جي ظاهر کي نه بلڪ ان جي باطن کي ڏسندو آهي. هو ماڻهو سان خيرخواهي يا ڪشادگي جو معاملو ڪندو آهي، نه وري حقارت جو. اهوئي سبب آهي ته جڏهن ماڻهو ان ڏانهن رجوع ڪندو آهي ته هو وري ان کي پنهنجي رحمت جي ڇانو ۾ وٺي ڇڏيندو آهي، چاهي ان کان ڪيڏو نه وڏو قصور ڇو نه ٿي ويو هجي.

وَ اتَّبِعُوۡۤا اَحۡسَنَ مَاۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡكُمۡ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ مِّنۡ قَبۡلِ اَنۡ يَّاۡتِيَكُمُ الۡعَذَابُ بَغۡتَةً وَّ اَنۡتُمۡ لَا تَشۡعُرُوۡنَ ﴿۵۵﴾ اَنۡ تَقُوۡلَ نَفۡسٌ يّٰحَسۡرَتٰى عَلٰى مَا فَرَّطْتُّ فِىۡ جَنۡۢبِ اللّٰهِ وَاِنۡ كُنۡتُ لَمِنَ السّٰخِرِيۡنَ ﴿۵۶﴾ اَوۡ تَقُوۡلَ لَوۡ اَنَّ اللّٰهَ هَدٰٮنِىۡ لَكُنۡتُ مِنَ الۡمُتَّقِيۡنَ ﴿۵۷﴾ اَوۡ تَقُوۡلَ حِيۡنَ تَرَى الۡعَذَابَ لَوۡ اَنَّ لِىۡ كَرَّةً فَاَكُوۡنَ مِنَ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۵۸﴾ بَلٰى قَدۡ جَآءَتۡكَ اٰيٰتِىۡ فَكَذَّبۡتَ بِهَا وَاسۡتَكۡبَرۡتَ وَكُنۡتَ مِنَ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۵۹﴾ وَيَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ تَرَى الَّذِيۡنَ كَذَبُوۡا عَلَى اللّٰهِ وُجُوۡهُهُمۡ مُّسۡوَدَّةٌ ؕ اَلَيۡسَ فِىۡ جَهَنَّمَ مَثۡوًى لِّلۡمُتَكَبِّرِيۡنَ ﴿۶۰﴾ وَيُنَجِّى اللّٰهُ الَّذِيۡنَ اتَّقَوۡا بِمَفَازَتِهِمۡ لَا يَمَسُّهُمُ السُّوۡٓءُ وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُوۡنَ ﴿۶۱﴾

۽ توهان پيروي ڪريو پنهنجي رب طرفان نازل ڪيل بهترين شيءِ (قرآن) جي. انهيءَ کان اڳ جو توهان تي اوچتو عذاب اچي ۽ توهان بيخبر هجو. متان ڪو شخص چوي ته افسوس جو الله جي حق ۾ ڪوتاهي ڪيم ۽ آءٌ ٺٺوليون ڪرڻ وارن مان هُئس يا ڪو چئي ته جيڪڏهن الله مون کي هدايت ڪري ها ته ضرور پرهيزگارن مان ٿيان ها يا عذاب ڏسي ڪو شخص چوي ته ڪاش! مون کي (دنيا ۾) موٽايو وڃي ته آءٌ نيڪ ٻانهن مان ٿيان. هائو تو وٽ منهنجون آيتون آيون پوءِ تو انهن کي ڪوڙو ڄاتو ۽ تڪبر ڪيو ۽ ڪافرن مان ٿئين ۽ تون قيامت جي ڏينهن انهن ماڻهن جا منهن ڪارا ڏسندين جن الله تي ڪوڙ ٻڌو هو. ڇا وڏائي ڪندڙن جي جاءِ دوزخ نه آهي؟ ۽ جيڪي ماڻهو ڊڄندا رهيا، انهن کي الله ڪاميابي سان نجات ڏيندو ۽ انهن کي ڪا تڪليف نه پهچندي ۽ نه اهي غمگين ٿيندا. ٥٥-٦١

---

الله جي ڪلام ۾ بهتر ۽ غير بهتر جي تقسيم نه آهي. نه قرآن ۾ ايئن آهي جو اُن جون ڪجھ آيتون بهتر آهن ۽ ڪجھ آيتون غير بهتر ۽ نه وري قرآن ۽ ٻين آسماني ڪتابن ۾ اهو فرق آهي جو انهن ۾ ڪو ڪتاب حقيقت جي لحاظ کان بهتر آهي ۽ ڪو ڪتاب غير بهتر.

اصل ڳالهه هي آهي ته موجوده دنيا ۾ ماڻهو کي عمل جي آزادي آهي. هتي ان جي لاءِ اهو موقعو آهي ته هو هڪ ڪلام کي چاهي ته سڌي رخ کان وٺي يا ان کي ابتي معنيٰ ڏي. هو چاهي ته ڪلام جي اصل پيغام تي ڌيان ڏي يا ان ۾ اجايا بحث ڪيدي ۽ ان کي غلط معنيٰ ڏي. الله جي ڪلام ۾ ٺٺوليون ڪرڻ ان جو ئي هڪ مثال آهي. ماڻهو هڪ آيت وٺي ان جو اُبتو مفهوم ڪيندو آهي ۽ پوءِ ان هٺ ٺوڪيل مفهوم جي سبب ان تي ٺٺوليون ڪرڻ شروع ڪندو آهي.

دنيا ۾ ماڻهو پاڻ کي ڊڪي سگهي ٿو. هو رڳو وڏائي جي ڪري حق کي نه ٿو مڃي. ايئن اهڙا لفظ ڳالهائي ٿو ته ڄڻ هو اصول جي بنياد تي حق جو انڪار ڪري رهيو آهي، پر قيامت جي ڏينهن ماڻهو جو منهن ان جي اندر جي حالت کي ظاهر ڪري ڇڏيندو. ان وقت ماڻهو جو پنهنجو منهن ٻڌائيندو ته هو جنهن حق کي غلط معنيٰ ڏئي ان جو منڪر ٿي ويو هو. اهو رڳو هڪ ڪوڙ هو. جڏهن ته حق بذات خود بلڪل صاف ۽ پڌرو هو. ان وقت هو افسوس ڪندو، پر ان وقت افسوس ڪرڻ ان جي ڪجھ به ڪم نه ايندو.

اَللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ ۙ وَّ هُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ وَّكِيْلٌ ﴿٦٢﴾ لَهٗ مَقَالِيْدُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٦٣﴾ قُلْ اَفَغَيْرَ اللّٰهِ تَاْمُرُوْٓنِّيْٓ اَعْبُدُ اَيُّهَا الْجٰهِلُوْنَ ﴿٦٤﴾ وَ لَقَدْ اُوْحِيَ اِلَيْكَ وَ اِلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكَ ۚ لَئِنْ اَشْرَكْتَ لَيَحْبَطَنَّ عَمَلُكَ وَ لَتَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٦٥﴾ بَلِ اللّٰهَ فَاعْبُدْ وَ كُنْ مِّنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿٦٦﴾

الله هر شيءِ جو خالق آهي ۽ اُهوئي هر شيءِ تي نگهبان آهي. آسمانن ۽ زمين جون ڪنجيون انهيءَ ئي وٽ آهن ۽ جن ماڻهن الله جي آيتن جو انڪار ڪيو، اُهي ئي خساري وارا آهن. چؤ ته اي بي عقلؤ! ڇا توهان مون کي غيرالله جي عبادت ڪرڻ لاءِ چؤ ٿا ۽ توڏانهن ۽ تو کان اڳين ڏانهن وحي ڪيو ويو ته جيڪڏهن تو (بالفرض) شرڪ ڪيو ته تنهنجا عمل ناس ٿي ويندا ۽ تون خساري وارن مان ٿيندين. بلڪ صرف الله جي عبادت ڪر ۽ شڪر ڪرڻ وارن مان هج. ٦٢-٦٦

---

ڪائنات جي موجودگي ان جي خالق جو ثبوت آهي. اهڙي طرح ڪائنات جيتري بامعنيٰ ۽ منظم انداز ۾ هلي رهي آهي، اهو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته هر گهڙي هڪ نگهبان اُن جي نگهباني ڪري رهيو آهي. ماڻهو جيڪڏهن سنجيدگي سان غور ڪري ته هو ڪائنات ۾ ان خالق جي نشاني ڳولي لهندو ۽ اهڙي طرح ان جي ناظم ۽ مدبر هئڻ جي نشاني به.

اهڙي حالت ۾ جيڪي ماڻهو هڪ الله کان سواءِ ٻين هستين جا عبادتگذار بڻجن ٿا ته هي هڪ اهڙو عمل ڪري رهيا آهن جنهن جي موجوده ڪائنات ۾ ڪا قيمت نه آهي. ڇاڪاڻ ته خالق ۽ وڪيل جڏهن صرف هڪ آهي ته ان ئي جي عبادت ماڻهو کي فائدو ڏئي سگهي ٿي. ان کان سواءِ ڪنهن ٻي جي عبادت ڪرڻ ڄڻ اهڙي معبود کي سڏڻ آهي جنهن جو ڪو وجود ئي نه آهي.

وَ مَا قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ قَدۡرِهٖ ۖ وَ الۡاَرۡضُ جَمِيۡعًا قَبۡضَتُهٗ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ وَ السَّمٰوٰتُ مَطۡوِيّٰتٌۢ بِيَمِيۡنِهٖ ؕ سُبۡحٰنَهٗ وَ تَعٰلٰى عَمَّا يُشۡرِكُوۡنَ ﴿۶۷﴾ وَ نُفِخَ فِى الصُّوۡرِ فَصَعِقَ مَنۡ فِى السَّمٰوٰتِ وَ مَنۡ فِى الۡاَرۡضِ اِلَّا مَنۡ شَآءَ اللّٰهُ ؕ ثُمَّ نُفِخَ فِيۡهِ اُخۡرٰى فَاِذَا هُمۡ قِيَامٌ يَّنۡظُرُوۡنَ ﴿۶۸﴾ وَ اَشۡرَقَتِ الۡاَرۡضُ بِنُوۡرِ رَبِّهَا وَ وُضِعَ الۡكِتٰبُ وَ جِآىۡءَ بِالنَّبِيّٖنَ وَ الشُّهَدَآءِ وَ قُضِىَ بَيۡنَهُمۡ بِالۡحَقِّ وَ هُمۡ لَا يُظۡلَمُوۡنَ ﴿۶۹﴾ وَ وُفِّيَتۡ كُلُّ نَفۡسٍ مَّا عَمِلَتۡ وَ هُوَ اَعۡلَمُ بِمَا يَفۡعَلُوۡنَ ﴿۷۰﴾ ع ۷

۽ ماڻهن الله جو قدر نه ڪيو. جيئن ان جي قدر ڪرڻ جو حق هو ۽ سڄي زمين سندس مٺ ۾ هوندي قيامت جي ڏينهن ۽ آسمان سندس ساڄي هٿ ۾ ويڙهيل هوندا. هو پاڪ ۽ مٿانهون آهي ان شرڪ کان جيڪو هي ماڻهو ڪندا آهن ۽ جڏهن صور ڦوڪيو ويندو ته آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪو به آهي سڀ بيهوش ٿي ڪري پوندا. پر جنهن لاءِ الله چاهي. پوءِ ٻيهر ان ۾ ڦوڪيو ويندو ته سڀ اما لڪ اٿي ڏسڻ لڳندا ۽ زمين پنهنجي رب جي نور سان روشن ٿيندي ۽ ڪتاب رکيو ويندو ۽ پيغمبر ۽ شاهد حاضر ڪيا ويندا ۽ ماڻهن جي وچ ۾ حق سان فيصلو ڪيو ويندو ۽ انهن تي ڪو ظلم نه ٿيندو ۽ هر ماڻهو کي ان جي عمل جو پورو بدلو ڏنو ويندو ۽ هو چڱي طرح ڄاڻي ٿو جيڪي هو ڪندا آهن. ۶۷-۷۰

---

اڪثر گمراهين جو بنياد الله جي عظمت جو گهٽ اندازو لڳائڻ آهي. ماڻهو ٻين عظمتن ۾ ان ڪري گم رهندو آهي جو ان کي الله جي وسيع عظمتن جي ڄاڻ نه آهي هو پنهنجي بزرگن سان وابستگي کي نجات جو ذريعو سمجهندو آهي. ان ڪري جو ان کي خبر نه آهي ته الله ان کان گهڻو وڏو آهي جو ان وٽ ڪو ماڻهو پنهنجي زبان کولڻ جي همت به ڪري سگهي. قيامت جڏهن ماڻهن جي اکين تان پردو هٽائيندي ته انهن کي خبر پوندي ته الله ته ايترو عظيم هو جيئن زمين هڪ سڪي وانگر ان جي مٺ ۾ هجي ۽ آسمان هڪ معمولي ڪاغذ وانگر ان جي هٿ ۾ ويڙهيل هجي.

جهڙي طرح امتحان حال ۾ امتحان ختم ٿيڻ جو گهنڊ وڄندو آهي، اهڙي طرح موجوده دنيا جو وقت ختم ٿيڻ تي صور ڦوڪيو ويندو. ان کان پوءِ سڄو نظام بدلجي ويندو. ان کان پوءِ هڪ نئين دنيا بڻجندي. اسان جي موجوده دنيا سج جي روشني سان روشن ٿيندي آهي، جيڪا صرف محسوس ٿيندڙ

مادي شيون اسان کي ڏيکاريندي آهي. آخرت جي دنيا براهه راست الله جي نور سان روشن ٿيندي. ان ڪري اهو ممڪن ٿي ويندو ته لڪيل حقيقتن کي به اکين سان ڏسي سگهجي. ان وقت سيئي ماڻهو الله جي عدالت ۾ حاضر ڪيا ويندا. دنيا ۾ ماڻهن پيغمبرن کي ۽ انهن جي اتباع اٿڻ وارن داعين کي نظرانداز ڪيو هو. پر آخرت ۾ ماڻهو اهو ڏسي حيران رهجي ويندا ته ماڻهن جي مستقبل جو فيصلو ان بنياد تي ڪيو پيو وڃي ته ڪنهن انهن جو ساٿ ڏنو ۽ ڪنهن سندس انڪار ڪيو هو.

وَ سِيْقَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِلٰى جَهَنَّمَ زُمَرًا ؕ حَتّٰۤى اِذَا جَآءُوْهَا فُتِحَتْ اَبْوَابُهَا وَ قَالَ لَهُمْ خَزَنَتُهَاۤ اَلَمْ يَاْتِكُمْ رُسُلٌ مِّنْكُمْ يَتْلُوْنَ عَلَيْكُمْ اٰيٰتِ رَبِّكُمْ وَ يُنْذِرُوْنَكُمْ لِقَآءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا ؕ قَالُوْا بَلٰى وَ لٰكِنْ حَقَّتْ كَلِمَةُ الْعَذَابِ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿۷۱﴾ قِيْلَ ادْخُلُوْۤا اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ فَبِئْسَ مَثْوَى الْمُتَكَبِّرِيْنَ ﴿۷۲﴾

۽ جن ماڻهن انڪار ڪيو انهن کي ٽوليون ٽوليون ڪري جهنم ڏانهن هڪليو. تان جو جڏهن ان وٽ پهچندا ان جا در کوليا ويندا ۽ ان جا داروغا کين چوندا ڇا اوهان مان اوهان ڏانهن پيغمبر نه آيا هئا جو اوهان کي اوهان جي رب جون آيتون پڙهي ٻڌائين ها ۽ اوهان کي هن ڏينهن جي پيش اچڻ کان ڊيڄارين ها. اهي چوندا ته هائو پر عذاب جو وعدو منڪرن تي پورو ٿي رهيو. چيو ويندو ته جهنم جي درن ۾ داخل ٿي وڃو ان ۾ سدائين رهڻ لاءِ. پوءِ وڏائي ڪندڙن لاءِ بڇڙي جاءِ آهي. ٧١-٧٢

---

حق کان منهن موڙڻ ۽ انڪار ڪرڻ جا به درجا آهن. ان لحاظ کان جهنم وارن جا به درجا آهن. آخرت ۾ انهن کي سندن درجن جي لحاظ کان مختلف ٽولين ۾ تقسيم ڪيو ويندو ۽ پوءِ هر ٽولي کي جهنم جي ان طبقي ۾ وڌو ويندو جنهن جو هو مستحق آهي. هن وقت جهنم جي نگراني ڪرڻ وارن فرشتن جي گفتگو سان اهو منظر ٻڌايو پيو وڃي جيڪو ماڻهن جي جهنم ۾ داخل ٿيڻ وقت پيش ايندو.

جيڪي ماڻهو دنيا ۾ حق کي نٿا مڃين. انهن جي نه مڃڻ جو اصل سبب هميشه تڪبر هوندو آهي. حقيقت ۾ انهن جو تڪبر حق جي مقابلي ۾ نه هوندو آهي، بلڪ اهو حق کي پيش ڪرڻ واري شخص جي مقابلي ۾ هوندو آهي. حق کي پيش ڪرڻ وارو بظاهر ماڻهن کي پاڻ کان گهٽ ڏسڻ ۾ ايندو آهي، ان ڪري اُهي ماڻهو حق کي به پاڻ کان ننڍو سمجهي وٺندا آهن ۽ ان کي حقارت سان نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن.

وَ سِيْقَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ اِلَى الْجَنَّةِ زُمَرًا ؕ حَتّٰۤى اِذَا جَآءُوْهَا وَ فُتِحَتْ اَبْوَابُهَا وَ قَالَ لَهُمْ خَزَنَتُهَا سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ طِبْتُمْ فَادْخُلُوْهَا خٰلِدِيْنَ ﴿۷۳﴾ وَ قَالُوا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ صَدَقَنَا وَعْدَهٗ وَ اَوْرَثَنَا الْاَرْضَ نَتَبَوَّاُ مِنَ الْجَنَّةِ حَيْثُ نَشَآءُ ۚ فَنِعْمَ اَجْرُ الْعٰمِلِيْنَ ﴿۷۴﴾ وَ تَرَى الْمَلٰٓئِكَةَ حَآفِّيْنَ مِنْ حَوْلِ الْعَرْشِ يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ ۚ وَ قُضِيَ بَيْنَهُمْ بِالْحَقِّ وَ قِيْلَ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۷۵﴾ ع ٨

۽ جيڪي ماڻهو پنهنجي رب کان ڊڄنا سي ٽوليون ٽوليون جنت ڏانهن روانا ڪيا ويندا. تان جو جڏهن اتي پهچندا ۽ ان جا دروازا کوليا ويندا ۽ ان جا محافظ کين چوندا ته اوهان تي سلام هجي، خوش رهو ۽ منجهس هميشه لاءِ داخل ٿي وڃو ۽ اُهي چوندا شڪر آهي ان الله جو جنهن اسان سان پنهنجو واعدو سچ ڪري ڏيکاريو ۽ اسان کي ان زمين جو وارث ڪيائين. اسان جنت ۾ جتي وڻي ٿو جاءِ وٺون ٿا. پوءِ عمل ڪندڙن جو اجر ڪهڙو نه سٺو آهي ۽ تون ملائڪن کي عرش جي چوڌاري وڪوڙيندڙ ڏسندين. پنهنجي رب جي ساراهه سان گڏ پاڪائي بيان ڪندا رهندا ۽ ماڻهن جي وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪيو ويندو ۽ چيو ويندو ته سڀ ساراهه جهانن جي پالڻهار الله لاءِ آهي. ٧٣-٧٥

---

جنت ۾ وڃڻ وارا اُهي ماڻهو آهن جن ۾ تقويٰ جي صفت هوندي آهي. جڏهن ماڻهو کي الله جي وڏائي اهڙي طرح ملي جو ان جي اندر پنهنجي وڏائي جو احساس ختم ٿي وڃي ته ان جو قدرتي نتيجو اهو ٿيندو آهي جو هو الله کان ڊڄڻ لڳندو آهي. پنهنجي عاجزي ۽ الله جي قدرت جو احساس ان کي ڊڄندڙ بڻائي ڇڏيندو آهي. هو الله جي معاملي ۾ انتهائي محتاط ٿي ويندو آهي. ان کي هر وقت اهو کٽڪو هوندو آهي ته آخرت ۾ ان جو الله ان سان ڪهڙو معاملو فرمائيندو. جيڪي ماڻهن دنيا ۾ اهڙي طرح ڊِنا، اُهي ئي آخرت جي بيخوف زندگي جا وارث قرار ڏنا ويندا.

جنت وارن سان آخرت ۾ اهڙو معاملو ڪيو ويندو جيڪو دنيا ۾ شاهي مهمانن سان ڪيو ويندو آهي. انهن کي وڏي اعزاز ۽ اڪرام سان سندن قيام گاهه ڏانهن وٺي وڃبو. جڏهن اُهي جنت کي پنهنجن اکين سان ڏسندا ته بي اختيار سندن زبان تي حمد ۽ شڪر جا ڪلما جاري ٿي ويندا. جنت ۾ سندن لاءِ نه رڳو اعليٰ قيام جو انتظام هوندو، بلڪ اتي سير ۽ ملاقاتن لاءِ اچڻ وڃڻ تي ڪا پابندي نه هوندي سفر ۽ رابطي جو اعليٰ ترين سهولتون حاصل هونديون.

حمد جي مستحق صرف هڪ الله جي ذات آهي، پر موجوده امتحان جي دنيا ۾ ان جو ظهور نه ٿو ٿئي. آخرت حمد الاهي جي ڪامل ظهور جو ڏينهن هوندو، ان وقت سڀئي ماڻهو ۽ سڄو ماحول الله جي حمد ڪندي نظر ايندو. سڀئي ڪوڙيون وڏائيون ختم ٿي وينديون، اتي صرف هڪ هستي هوندي جنهن جو ماڻهو نالو وٺي. اُتي صرف هڪ وڏائي هوندي، جنهن جي وڏائي کان متاثر ٿي ماڻهو ان جي حمد ڪري.

اٰياتها ٨٥ (٤٠) سُوْرَةُ الْمُؤْمِنِ مَكِّيَّةٌ (٦٠) رکوعاتها ٩

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

حٰمٓ ﴿١﴾ تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ ﴿٢﴾ غَافِرِ الذَّنْبِ وَ قَابِلِ التَّوْبِ شَدِيْدِ الْعِقَابِ ذِي الطَّوْلِ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ اِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ﴿٣﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

حٰمٓ. هن ڪتاب جو نازل ڪرڻ الله طرفان آهي جيڪو غالب ڄاڻندڙ آهي. جو گناهه بخشيندڙ ۽ توبه قبول ڪندڙ، سخت سزا ڏيندڙ، وڏي سگهه وارو آهي. ان کان سواءِ ڪو معبود نه آهي. انهيءَ ڏانهن ئي موٽڻو آهي. ١-٣

---

”عزيز ۽ عليم“ جا لفظ هتي قرآن جي حق ۾ دليل طور استعمال ٿيا آهن. قرآن جي نازل ٿيڻ وقت اها هڪ اڳڪٿي هئي. پر اڄ اها هڪ ثابت ٿيل حقيقت آهي.

قرآن سائنس جي دور ڪان اڳ ۾ انتهائي ناموافق حالتن ۾ نازل ٿيو. پر پنهنجي دعويٰ جي مطابق ان پنهنجن مخالفن تي فتح حاصل ڪئي. عرب جا مشرڪ ۽ يهودي ۽ عظيم رومي ۽ ايراني سلطنتون سڀ جون سڀ قرآن جون دشمن هيون. پر قرآن ٿوري وقت ۾ سڀني تي غالب اچي ويو. هي هڪ اهڙو واقعو آهي جنهن جو ڪو ٻيو مثال انساني تاريخ ۾ نہ ٿو ملي. اِهو هن ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ قرآن الله عزيز ۽ غالب طرفان نازل ڪيو ويو آهي.

قرآن جي ٻئي صفت اها آهي جو هو ڪامل طور تي هڪ صحيح ڪتاب آهي. ڏيڍ هزار سال ڪان پوءِ بہ قرآن جي ڪا ڳالهہ حقيقت جي خلاف ثابت نہ ٿي آهي. اهو هن ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ ان جو نازل ڪرڻ وارو عليم ۽ خبير آهي، ان ڪان زمين ۽ آسمان جي ڪا ڳالهہ ڳجهي نہ آهي. هو ماضي، حال ۽ مستقبل ڪان پوري طرح باخبر آهي.

اِهوئي الله انسان جو حقيقي معبود آهي. ان جي قدرت ۽ ان جي علم جو اهو تقاضو آهي تہ هو سڀني انسانن کي گڏ ڪري سندن حساب وٺي، پوءِ پوري عدل سان هر هڪ جو فيصلو ڪري. جن ماڻهن الله ڏانهن رجوع ڪيو تن کي معاف ڪري ۽ جن سرڪشي ڪئي ڪين سندن بڇڙن عملن جي سزا ڏي.

مَا يُجَادِلُ فِيٓ اٰيٰتِ اللّٰهِ اِلَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَلَا يَغْرُرْكَ تَقَلُّبُهُمْ فِي الْبِلَادِ ۝٤ كَذَّبَتْ
قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّ الْاَحْزَابُ مِنْۢ بَعْدِهِمْ ۠ وَ هَمَّتْ كُلُّ اُمَّةٍۭ بِرَسُوْلِهِمْ لِيَاْخُذُوْهُ وَ
جٰدَلُوْا بِالْبَاطِلِ لِيُدْحِضُوْا بِهِ الْحَقَّ فَاَخَذْتُهُمْ ۫ فَكَيْفَ كَانَ عِقَابِ ۝٥ وَ كَذٰلِكَ
حَقَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ عَلَى الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنَّهُمْ اَصْحٰبُ النَّارِ ۝٦

وقف لازم
وقف النبي صلى الله عليه وآله وسلم

الله جي آيتن ۾ اُهي ئي ماڻهو جهيڙو ڪندا آهن جيڪي منڪر آهن، پوءِ شهرن ۾ سندن اچ وڃ توکي دوکي ۾ نہ وجهي. ڪانئن اڳ نوح جي قوم ڪوڙ ڄاتو ۽ انهن ڪان بعد وارن ٽولين بہ ۽ هر امت ارادو ڪيو تہ پنهنجي رسول کي پڪڙيون ۽ اُهي ناحق جهيڙو ڪندا رهيا، تہ ان سان حق کي ٿيڙين. پوءِ مون ڪين پڪڙيو. پوءِ ڪيئن هئي منهنجي سزا ۽ اهڙي طرح تنهنجي رب جي ڳالهہ انهن تي ثابت ٿي جن انڪار ڪيو تہ اُهي دوزخي آهن. ٤-٦

---

هتي الله جي آيتن مان مراد دليل آهن، جيڪي حق جي دعوت کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ پيش ڪيا ويا هجن. جيڪي ماڻهو الله جي معاملي ۾ سنجيده نہ هجن، اُهي انهن دليلن ۾ اجايا بحث ڪري ماڻهن کي شڪ ۾ وجهندا آهن تہ هي دعوت حق جي دعوت نہ آهي، بلڪ اهو رڳو هڪ شخص (داعي) جي پنهنجي ذهني تخليق جو معاملو آهي.

اهڙي قسم جا اجايا جهڳڙا ڪرڻ وڏو جرم آهي، جيئن تہ موجوده امتحان جي دنيا ۾ اهڙن ماڻهن کي هڪ مقرر وقت تائين مهلت حاصل رهي ٿي، ان ڪان پوءِ سندن لاءِ اُهو ئي برو انجام مقدر آهي، جيڪو قوم نوح، قوم عاد ۽ قوم ثمود وغيره جو ٿيو. جن ماڻهن پاڻ کي وڏو سمجهيو هو، انهن کي هيٺ ڪيو ويو ۽ جن ماڻهن کي گهٽ سمجهيو ويو هو، اُهي الله وٽ معتبر قرار ڏنا ويا.

اَلَّذِيۡنَ يَحۡمِلُوۡنَ الۡعَرۡشَ وَ مَنۡ حَوۡلَهٗ يُسَبِّحُوۡنَ بِحَمۡدِ رَبِّهِمۡ وَ يُؤۡمِنُوۡنَ بِهٖ وَ
يَسۡتَغۡفِرُوۡنَ لِلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا ۚ رَبَّنَا وَسِعۡتَ كُلَّ شَيۡءٍ رَّحۡمَةً وَّ عِلۡمًا فَاغۡفِرۡ لِلَّذِيۡنَ تَابُوۡا وَ
اتَّبَعُوۡا سَبِيۡلَكَ وَ قِهِمۡ عَذَابَ الۡجَحِيۡمِ ﴿۷﴾ رَبَّنَا وَ اَدۡخِلۡهُمۡ جَنّٰتِ عَدۡنِ ِۣ الَّتِيۡ وَعَدۡتَّهُمۡ
وَ مَنۡ صَلَحَ مِنۡ اٰبَآئِهِمۡ وَ اَزۡوَاجِهِمۡ وَ ذُرِّيّٰتِهِمۡ ؕ اِنَّكَ اَنۡتَ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ ۙ﴿۸﴾ وَ قِهِمُ
السَّيِّاٰتِ ؕ وَ مَنۡ تَقِ السَّيِّاٰتِ يَوۡمَئِذٍ فَقَدۡ رَحِمۡتَهٗ ؕ وَ ذٰلِكَ هُوَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِيۡمُ ﴿۹﴾

جيڪي عرش کي کڻي بيٺا آهن ۽ جيڪي ان جي چوڌاري آهن سي پنهنجي رب جي پاڪائي ساراهه سان گڏ بيان ڪندا آهن ۽ مٿس ايمان رکندا آهن ۽ ايمان وارن لاءِ بخشش گهرندا آهن. اي اسان جا رب! تنهنجي رحمت ۽ تنهنجو علم هر شيءِ تي ڇانيل آهي، تنهن ڪري جن توبهه ڪئي ۽ تنهنجي واٽ جي تابعداري ڪئي تن کي معاف فرما ۽ کين دوزخ جي عذاب کان بچاءِ. اي اسان جا رب ۽ تون کين هميشه رهڻ وارن باغن ۾ داخل ڪر جن جو تو انهن سان واعدو ڪيو آهي ۽ سندن والدين ۽ سندن زالن مان ۽ سندن اولاد مان به جيڪي صالح هجن تن کي به. بيشڪ تون ئي غالب حڪمت وارو آهين ۽ کين گناهن کان بچاءِ ۽ جنهن کي تو ان ڏينهن گناهن کان بچايو ته ان تي تو رحم ڪيو ۽ اها ئي وڏي ڪاميابي آهي. ٧-٩

---

جيڪي الله جا ٻانها ملاوٽ کان پاڪ خالص حق جي دعوت کڻي اٿندا آهن ته کين هميشه ستايو ويندو آهي. کين ماحول ۾ حقير سمجهيو ويندو آهي، پر ان ئي وقت جڏهن ته ظاهر پرست انسانن جي وچ ۾ انهن جو اهو حال هوندو آهي. عين انهيءَ وقت زمين ۽ آسمان سندن برحق هئڻ جي تصديق ڪري رهيا هوندا آهن. ڪائنات جو انتظام ڪرڻ وارا فرشتا سندن سٺي انجام جا منتظر هوندا آهن. وقتي دنيا ۾ ناقابل ذڪر سمجها وڃڻ وارا ماڻهو ابدي دنيا ۾ ان عزت جي مقام تي هوندا آهن جو الله جي مقرب فرشتا به انهن جي حق ۾ دعائون ڪري رهيا هوندا آهن.

اِنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا يُنَادَوۡنَ لَمَقۡتُ اللّٰهِ اَكۡبَرُ مِنۡ مَّقۡتِكُمۡ اَنۡفُسَكُمۡ اِذۡ تُدۡعَوۡنَ اِلَى
الۡاِيۡمَانِ فَتَكۡفُرُوۡنَ ﴿۱۰﴾ قَالُوۡا رَبَّنَاۤ اَمَتَّنَا اثۡنَتَيۡنِ وَ اَحۡيَيۡتَنَا اثۡنَتَيۡنِ فَاعۡتَرَفۡنَا
بِذُنُوۡبِنَا فَهَلۡ اِلٰى خُرُوۡجٍ مِّنۡ سَبِيۡلٍ ﴿۱۱﴾ ذٰلِكُمۡ بِاَنَّهٗۤ اِذَا دُعِيَ اللّٰهُ وَحۡدَهٗ كَفَرۡتُمۡ ۚ وَ اِنۡ
يُّشۡرَكۡ بِهٖ تُؤۡمِنُوۡا ؕ فَالۡحُكۡمُ لِلّٰهِ الۡعَلِيِّ الۡكَبِيۡرِ ﴿۱۲﴾

جن ماڻهن انڪار ڪيو تن کي سڏي چئبو ته الله جو اوهان تي ڏمرجڻ اوهان جي پاڻ تي ڏمرجڻ کان تمام وڏو آهي. جڏهن توهان کي ايمان ڏانهن سڏيو ويندو هو ته توهان انڪار ڪندا هئا. هو چوندا ته اي اسان جا رب! تو اسان کي ٻه ڀيرا موت ڏني ۽ ٻه ڀيرا اسان کي زندگي ڏني، تنهن ڪري اسان پنهنجن گناهن جو اقرار ڪيو. پوءِ ڇا نڪرڻ جي ڪا واهه آهي. اهو عذاب توهان تي ان ڪري آهي جو جڏهن اڪيلي الله ڏانهن سڏيو ويندو هو ته توهين انڪار ڪندا هئا ۽ جيڪڏهن ساڻس شريڪ ٺهرايو ويندو هو ته توهان مڃيندا هئا. پوءِ فيصلو الله جي اختيار ۾ آهي جيڪو عظيم آهي، وڏي مرتبي وارو آهي. ١٠-١٢

---

موجوده دنيا ۾ الله تعاليٰ هدايت جي شڪل ۾ پنهنجي رحمت موڪلي، پر ماڻهن ان کي قبول نه ڪيو. ان جو انجام آخرت ۾ ايئن سامهون ايندو جو انهيءَ قسم جا ماڻهو الله جي رحمت کان بلڪل محروم ڪيا ويندا. دنيا ۾ انهن الله جي رحمت کي نظرانداز ڪيو هو. آخرت ۾ الله جي رحمت انهن کي نظرانداز ڪري ڇڏيندي.

ان وقت انڪار ڪرڻ وارا ماڻهو چوندا ته اي الله! تو اسان کي مٽي مان پيدا ڪيو ڇڻ ته اسان مرده هئاسون. پوءِ اسان ۾ جان وڌي. ان کان پوءِ پنهنجي عمر پوري ڪري ٻيهر اسان تي موت آئي ۽ هاڻي اسان ٻيهر آخرت جي دنيا ۾ اٿاريا ويا آهيون. اهڙي طرح تو اسان کي ٻه ڀيرا موت ۽ ٻه ڀيرا زندگي ڏئي چڪو آهين. هاڻي جيڪڏهن تون اسان کي ٽيون موقعو ڏين ۽ وري اسان کي دنيا ۾ موڪلي ڇڏين ته اسان اتي رهون ۽ پوءِ وري مري آخرت جي عالم ۾ حاضر ٿيون ته اسان دنيا ۾ تنهنجي سچائي جو اعتراف ڪنداسون ۽ نيڪ عملن واري زندگي گذاريندا سون.

پر سندن اها درخواست قبول نه ڪئي ويندي. ڇاڪاڻ ته انهن پنهنجي باري ۾ اهو ثبوت ڏنو هو جو اهي سچائي کي ان وقت نه سڃاڻي سگهيا. جڏهن ته سچائي اڃا غيب ۾ لڪيل هئي. اُهي صرف ظاهري خدائن کي سڃاڻي پئي سگهيا. اهي غيب جي الله کي سڃاڻڻ جي صلاحيت نه رکندا هئا ۽ الله وٽ اهڙن ظاهر پرستن جي ڪا قيمت نه آهي.

هُوَ الَّذِیۡ یُرِیۡکُمۡ اٰیٰتِهٖ وَ یُنَزِّلُ لَکُمۡ مِّنَ السَّمَآءِ رِزۡقًا ؕ وَ مَا یَتَذَکَّرُ اِلَّا مَنۡ یُّنِیۡبُ ﴿۱۳﴾
فَادۡعُوا اللّٰهَ مُخۡلِصِیۡنَ لَهُ الدِّیۡنَ وَ لَوۡ کَرِهَ الۡکٰفِرُوۡنَ ﴿۱۴﴾ رَفِیۡعُ الدَّرَجٰتِ ذُو الۡعَرۡشِ ۚ
یُلۡقِی الرُّوۡحَ مِنۡ اَمۡرِهٖ عَلٰی مَنۡ یَّشَآءُ مِنۡ عِبَادِهٖ لِیُنۡذِرَ یَوۡمَ التَّلَاقِ ﴿ۙ۱۵﴾ یَوۡمَ هُمۡ
بٰرِزُوۡنَ ۬ۚ لَا یَخۡفٰی عَلَی اللّٰهِ مِنۡهُمۡ شَیۡءٌ ؕ لِمَنِ الۡمُلۡکُ الۡیَوۡمَ ؕ لِلّٰهِ الۡوَاحِدِ الۡقَهَّارِ ﴿۱۶﴾
اَلۡیَوۡمَ تُجۡزٰی کُلُّ نَفۡسٍۭ بِمَا کَسَبَتۡ ؕ لَا ظُلۡمَ الۡیَوۡمَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَرِیۡعُ الۡحِسَابِ ﴿۱۷﴾

اهو ئي آهي جيڪو توهان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاريندو آهي ۽ آسمان مان اوهان لاءِ رزق نازل ڪندو آهي ۽ نصيحت صرف اهوئي شخص قبول ڪري ٿو جيڪو الله ڏانهن رجوع ڪرڻ وارو آهي. پوءِ الله کي ئي سڏيو دين کي ان لاءِ خالص ڪندي ڇاهي ڪافرن کي برو ڇو نه لڳي. اهو بلند درجن وارو عرش جو مالڪ آهي، هو پنهنجن ٻانهن مان جنهن تي چاهي ٿو وحي موڪلي ٿو ته جيئن هو ملاقات جي ڏينهن کان ڊيڄاري. جنهن ڏينهن اهي (قبرن مان) ظاهر ٿيندا انهن جي ڪابه شيءِ الله کان لڪيل نه هوندي. اڄ بادشاهي ڪنهن جي آهي الله واحدالقهار جي. اڄ هر ماڻهو کي ان جي ڪمائي جو بدلو ملندو. اڄ ڪو به ظلم نه ٿيندو. بيشڪ الله جلد حساب وٺڻ وارو آهي. ١٣-١٧

---

ڪائنات ۾ بيشمار نشانيون آهن جيڪي مثال جي زبان ۾ حقيقت جو درس ڏئي رهيون آهن. انهن ۾ هڪ نشاني مينهن جو نظام آهي. اهو مادي واقعو وحي جي معاملي جو مثال پيش ڪري رهيو آهي. جهڙي طرح مينهن زرخيز زمين لاءِ مفيد آهي ۽ ڪلراٺي زمين لاءِ غيرمفيد، اهڙي طرح وحي به الله جي مينهن وانگر آهي. جن ماڻهن پنهنجا سينا ڪولي رکيا آهن، انهن ۾ اهو مينهن داخل ٿي سندن وجود

ڪي سرسبز ۽ شاداب ڪري ڇڏي ٿو. ان جي ابتڙ جن ماڻهن جا دل خدا جي غير جي وڏائي سان ڀريل هجن، اهي ڄڻ تہ ڪلراٺي زمين وانگر آهن. اهي وحي جي فائدن کان محروم رهندا.

الله پنهنجن ٻانهن کان پوري طرح واقف آهي. هو جنهن ٻانهي کي مستحق سمجهي ٿو ان کي پنهنجي پيغام رسائڻ لاءِ چوندي وٺي ٿو. ان پيغام جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ ماڻهن کي ان اچڻ واري ڏينهن کان خبردار ڪيو وڃي، جڏهن اُهي ڪائنات جي بادشاه جي سامهون پيش ٿيندا. جنهن کان ڪنهن جي ڪابہ ڳالهہ لڪيل نہ آهي ۽ نہ وري ڪو آهي جو ان جي فيصلي تي اثرانداز ٿي سگهي.

وَ اَنْذِرْهُمْ يَوْمَ الْاٰزِفَةِ اِذِ الْقُلُوْبُ لَدَى الْحَنَاجِرِ كٰظِمِيْنَ ۬ؕ مَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ حَمِيْمٍ
وَّ لَا شَفِيْعٍ يُّطَاعُ ؕ﴿١٨﴾ يَعْلَمُ خَآئِنَةَ الْاَعْيُنِ وَ مَا تُخْفِي الصُّدُوْرُ ﴿١٩﴾ وَ اللّٰهُ يَقْضِيْ بِالْحَقِّ ؕ
ع ٢ ١١ ٧ وَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ لَا يَقْضُوْنَ بِشَيْءٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ ﴿٢٠﴾

۽ ڪين ويجهو اچڻ واري مصيبت جي ڏينهن کان ڊيڄار جنهن مهل دليون نڙگهٽن کي ويجهو ٿينديون. اهي ڏک سان ڀريل هوندا. ظالمن جو نہ ڪو دوست هوندو ۽ نہ ڪو سفارشي جنهن جي ڳالهہ مڃي وڃي. هو اکين جي خيانت کي ڄاڻي ٿو ۽ انهن ڳالهين کي بہ جيڪي سينا لڪائيندا آهن ۽ الله حق سان فيصلو ڪندو ۽ جن کي اهي الله کان سواءِ سڏيندا آهن سي ڪنهن شيءِ جو فيصلو نہ ٿا ڪن. بيشڪ الله ٻڌڻ وارو ڏسڻ وارو آهي. ١٨-٢٠

---

موجوده دنيا ۾ انسان کي هر طرح جا موقعا حاصل آهن. هو آزاد آهي تہ جيڪو چاهي ڪري. ان ڪري ماڻهو غلط فهمي ۾ پئجي ويندو آهي. هو پنهنجي موجوده عارضي حالت کي مستقل حالت سمجهي وٺي ٿو. حالانڪ اها آزادي جيڪا انسان کي ملي آهي اها امتحان لاءِ آهي نہ وري ان جو استحقاق. امتحان جو وقت ختم ٿيندي ئي موجوده آزادي ان کان کسجي ويندي، ان وقت انسان کي خبر پوندي تہ ان وٽ عاجزي کان سواءِ ٻيو ڪجھ نہ آهي جنهن جي سهاري تي اهو بيهي سگهي.

ماڻهو چاهي ٿو تہ هو بي قيد زندگي گذاري. ان مزاج جي ڪري ماڻهو غير خدا کي بطور خود الله جي خدائي ۾ شريڪ بڻائي ٿو، تہ جيئن ان جي نالي تي هو پنهنجي بي راهہ روي کي جائز ثابت ڪري سگهي. پر قيامت ۾ جڏهن حقيقت بي پرده ٿي سامهون ايندي تہ ماڻهو ڄاڻي وٺندو تہ هتي الله کان سواءِ ڪير نہ هو جنهن کي ڪنهن بہ قسم جو اختيار حاصل هجي.

اَوَ لَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ كَانُوْا مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَانُوْا
هُمْ اَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةً وَّ اٰثَارًا فِي الْاَرْضِ فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوْبِهِمْ ؕ وَ مَا كَانَ لَهُمْ مِّنَ
اللّٰهِ مِنْ وَّاقٍ ﴿٢١﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَانَتْ تَّاْتِيْهِمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَكَفَرُوْا فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ ؕ
اِنَّهٗ قَوِيٌّ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٢٢﴾

ڇا هو زمين ۾ گهميا ڦريا نہ آهن تہ ڏسن تہ انهن جي پڇاڙي ڪهڙي طرح ٿي. جيڪي ڪائن اڳ هئا اهي ڪائن سگهہ ۾ ۽ زمين تي آثار (محل ماڙين) جوڙڻ ۾ تمام ڏاڍا هئا. پوءِ الله سندن گناهن سبب ڪين پڪڙيو ۽ ڪين

الله کان بچائڻ وارو ڪوبه نه هو. هي ان ڪري ٿيو جو انهن وٽ سندن رسول پڌريون نشانيون کڻي آيا ته انهن انڪار ڪيو. تنهن ڪري الله کين پڪڙيو. بيشڪ هو طاقتور آهي، سخت سزا ڏيڻ وارو آهي. ٢١-٢٢

---

دنيا جي تاريخ ۾ ڪثرت سان اهڙا واقعا آهن جو هڪ قوم غالب ٿي ۽ پوءِ ناس ٿي وئي. هڪ قوم جنهن زمين تي شاندار ترقي ڪئي، اڄ ان جي ترقي جا آثار ڪنڊر ۽ دڙن جي صورت ۾ زمين هيٺان دٻيل آهن. هڪ قوم جنهن کي ڪنهن وقت هڪ زنده حقيقت جي حيثيت حاصل هئي، اڄ اها صرف هڪ تاريخي واقعي طور قابل ذڪر سمجهي وڃي ٿي.

اهڙي قسم جا واقعا ماڻهن جي علم ۾ آهن. پر ماڻهو انهن واقعن کي زماني جي حادثن يا سياسي انقلابن جي خاني ۾ وجهي رکيو آهي، پر اصل حقيقت اها آهي ته اهي سڀ خدائي فيصلا هئا. جيڪي سچائي جو انڪار ڪرڻ جي نتيجي ۾ انهن قومن تي نازل ٿيا. جيڪڏهن اسان کي اها نگاهه حاصل ٿي وڃي جنهن سان اسان حقيقتن کي ڏسي سگهون ته اسان کي نظر اچي ته هر واقعو الله جي فرشتن ذريعي انجام ڏنو پيو وڃي. جڏهن ته بظاهر ڏسڻ وارن لاءِ اُهو دنياوي سببن جي تحت ٿيندي ڏسڻ ۾ پئي آيو.

وَ لَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا مُوۡسٰی بِاٰیٰتِنَا وَ سُلۡطٰنٍ مُّبِیۡنٍ ﴿٢٣﴾ اِلٰی فِرۡعَوۡنَ وَ هَامٰنَ وَ قَارُوۡنَ فَقَالُوۡا سٰحِرٌ کَذَّابٌ ﴿٢٤﴾ فَلَمَّا جَآءَهُمۡ بِالۡحَقِّ مِنۡ عِنۡدِنَا قَالُوا اقۡتُلُوۡۤا اَبۡنَآءَ الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا مَعَهٗ وَ اسۡتَحۡیُوۡا نِسَآءَهُمۡ ؕ وَ مَا کَیۡدُ الۡکٰفِرِیۡنَ اِلَّا فِیۡ ضَلٰلٍ ﴿٢٥﴾

۽ اسان موسيٰ کي پنهنجن نشانين ۽ پڌري دليل سان فرعون ۽ هامان ۽ قارون وٽ موڪليو ته انهن چيو ته هي هڪ ڪوڙو جادوگر آهي. پوءِ جڏهن هو اسان وٽان هنن وٽ حق کڻي آيو ته انهن چيو ته جن مٿس ايمان آندو آهي تن جا پٽ ڪهو ۽ سندن عورتن کي زنده ڇڏيو ۽ ڪافرن جي تدبير بلڪل بي اثر رهي. ٢٣-٢٥

---

پيغمبرن کي عام دليلن سان گڏ وڏيڪ معجزن سان به تائيد حاصل هوندي آهي، جيڪا سندن الله جو پيغمبر هئڻ جو واضح ثبوت هوندو آهي پر حق کي مڃڻ هميشه پنهنجي نفي جي قيمت تي هوندو آهي، جيڪا بيشڪ ڪنهن انسان لاءِ سڀني کان مشڪل قرباني آهي. اهو ئي سبب آهي جو انتهائي پڌرن دليلن جي باوجود فرعون ۽ ان جي درٻارين حضرت موسيٰ عليه السلام جي نبوت جو اقرار نه ڪيو.

ان جي بجاءِ انهن هڪ پاسي عوام کي اهو چوڻ شروع ڪيو ته موسيٰ عليه السلام جي پيغمبري جي دعويٰ بي حقيقت آهي ۽ ان جا معجزا رڳو جادو جو ڪرشمو آهن. ٻئي پاسي انهن هي فيصلو ڪيو ته بني اسرائيل جي تعداد کي گهٽائڻ لاءِ پنهنجي گڏريل پاليسي کي مزيد شدت سان جاري ڪيو وڃي ته جيئن موسيٰ عليه السلام پنهنجي قوم (بني اسرائيل) جي اندر پاڻ لاءِ مضبوط بنياد نه ناهي سگهي. پر کين معلوم نه هو ته اُهي پنهنجون تدبيرون موسيٰ عليه السلام جي مقابلي ۾ نه بلڪ الله جي مقابلي ۾ ڪري رهيا آهن ۽ الله جي مقابلي ۾ ڪنهن جي ڪا به تدبير ڪامياب نٿي ٿي سگهي.

وَ قَالَ فِرۡعَوۡنُ ذَرُوۡنِیۡۤ اَقۡتُلۡ مُوۡسٰی وَ لۡیَدۡعُ رَبَّهٗ ۚ اِنِّیۡۤ اَخَافُ اَنۡ یُّبَدِّلَ دِیۡنَکُمۡ اَوۡ اَنۡ یُّظۡهِرَ فِی الۡاَرۡضِ الۡفَسَادَ ﴿٢٦﴾ وَ قَالَ مُوۡسٰۤی اِنِّیۡ عُذۡتُ بِرَبِّیۡ وَ رَبِّکُمۡ مِّنۡ کُلِّ مُتَکَبِّرٍ لَّا

ع يُؤْمِنُ بِيَوْمِ الْحِسَابِ ﴿٢٧﴾

۽ فرعون چيو مون کي ڇڏيو آءٌ موسيٰ کي قتل ڪريان ۽ هو پلي پنهنجي رب کي سڏي. مون کي ڊپ آهي ته متان هو توهان جو دين متائي يا ملڪ ۾ فساد پکيڙي ۽ موسيٰ چيو مون پنهنجي ۽ توهان جي رب جي پناهه ورتي. هر ان متڪبر کان جيڪو حساب جي ڏينهن تي ايمان نہ ٿو رکي. ٢٦-٢٧

"توهان جو دين متائي ڇڏي" جو مطلب آهي توهان جو مذهب بدلائي ڇڏي. يعني توهان جنهن مذهبي طريقي تي آهيو ۽ جيڪو توهان جي وڏن کان هلندو پيو اچي، اهو ختم ٿي وڃي ۽ ماڻهن جي وچ ۾ نئون مذهب رائج ٿي وڃي. اهو ايئن آهي جيئن هندستان ۾ انتها پسند هندو چوندا آهن ته مذهب جي تبليغ کي قانوني طور بند ڪيو وڃي نہ ته ٻين مذهبن وارا پنهنجي تبليغ سان ملڪ جي دين کي بدلائي ڇڏيندا.

فساد مان مراد بدامني آهي. يعني موسيٰ عليه السلام کي پنهنجي قوم مان ساٿ ڏيڻ وارا ماڻهو ملي ويندا ۽ انهن سان ملي هو ملڪ ۾ انتشار ۽ فساد پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. ان ڪري اسان کي گهرجي ته اسان شروع ۾ ئي ان کي قتل ڪري ڇڏيون.

حق کي مڃڻ ۾ سڀني کان وڏي رڪاوٽ ماڻهو جي تڪبر واري نفسيات هوندي آهي. هو پاڻ کي مٿي ڪرڻ خاطر حق کي هيٺ ڪرڻ ٿوچاهي، پر حق جو مددگار الله سڀني جهانن جو رب آهي. شروع ۾ چاهي حق جا مخالف ان کي بظاهر دٻائي وجن، پر الله جي مدد ان ڳالهه جي ضمانت آهي ته آخري ڪاميابي حق کي حاصل ٿيندي.

وَ قَالَ رَجُلٌ مُّؤْمِنٌ ۖ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَكْتُمُ اِيْمَانَهٗٓ اَتَقْتُلُوْنَ رَجُلًا اَنْ يَّقُوْلَ رَبِّيَ اللّٰهُ
وَ قَدْ جَآءَكُمْ بِالْبَيِّنٰتِ مِنْ رَّبِّكُمْ ؕ وَ اِنْ يَّكُ كَاذِبًا فَعَلَيْهِ كَذِبُهٗ ۚ وَ اِنْ يَّكُ صَادِقًا
يُّصِبْكُمْ بَعْضُ الَّذِيْ يَعِدُكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ مَنْ هُوَ مُسْرِفٌ كَذَّابٌ ﴿٢٨﴾ يٰقَوْمِ
لَكُمُ الْمُلْكُ الْيَوْمَ ظٰهِرِيْنَ فِي الْاَرْضِ ۫ فَمَنْ يَّنْصُرُنَا مِنْۢ بَاْسِ اللّٰهِ اِنْ جَآءَنَا ؕ قَالَ
فِرْعَوْنُ مَآ اُرِيْكُمْ اِلَّا مَآ اَرٰى وَ مَآ اَهْدِيْكُمْ اِلَّا سَبِيْلَ الرَّشَادِ ﴿٢٩﴾

۽ فرعون جي قوم مان هڪ مؤمن شخص جيڪو پنهنجو ايمان لڪائيندو هو (اُن) چيو ڇا توهان هڪ شخص کي صرف ان ڳالهه تي قتل ڪندو جو هو چئي ٿو ته منهنجو رب الله آهي. حالانڪ هو توهان جي رب وٽان پڌرا دليل بہ کڻي آيو آهي ۽ جيڪڏهن هو ڪوڙو آهي ته سندس ڪوڙ (جو وبال) مٿس آهي ۽ جيڪڏهن هو سچو آهي ته جيڪو وعدو توهان سان ڪري ٿو تنهن مان ڪجهه توهان کي ضرور پهچندو. بيشڪ الله اهڙي شخص کي هدايت نہ ٿو ڏي جيڪو حد کان لنگهندڙ ۽ ڪوڙو هجي. اي منهنجي قوم! اڄ توهان جي بادشاهي آهي ۽ زمين ۾ توهان غالب آهيو. پوءِ جيڪڏهن الله جو (عذاب) اسان تي آيو ته ڪير اسان جي مدد ڪندو. فرعون چيو جيڪا (چڱي مصلحت) ڏسان ٿو تنهن کان سواءِ توهان کي (ٻي) نہ ٿو ڏيکاريان ۽ آئون توهان جي رهنمائي ڀلائي جي رستي ڏانهن ڪري رهيو آهيان. ٢٨-٢٩

هتي جنهن مؤمن ماڻهو جو ذڪر آهي، اهو فرعون جي شاهي خاندان جو هڪ فرد هو ۽ گهٽ ۾ گهٽ ڪري هو دربار جي اعليٰ عهديدارن مان هو. اهو بزرگ حضرت موسيٰ عليه السلام جي دعوت توحيد کان متاثر هو. جيئن ته هو پنهنجوا يمان لڪائي ويٺل هو، پر جڏهن ان ڏٺو ته فرعون حضرت موسيٰ عليه السلام کي قتل ڪرڻ جو ارادو ڪري رهيو آهي ته هن حضرت موسيٰ عليه السلام جي کلي حمايت ڪئي. ان نهايت اثرائتي ۽ حڪيماڻي انداز ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام جو دفاع ڪيو.

ان واقعي مان هڪ نصيحت اها ملي ٿي ته تبليغ هڪ اهڙي طاقت آهي، جيڪا خود دشمن جي صفن ۾ پنهنجا همدرد ۽ ساٿي پيدا ڪري ٿي وٺي، چاهي اُهو دشمن خاندان فرعون جهڙو ظالم ۽ متڪبر ڇو نه هجي.

وَ قَالَ الَّذِيْٓ اٰمَنَ يٰقَوْمِ اِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ مِّثْلَ يَوْمِ الْاَحْزَابِ ﴿٣٠﴾ مِثْلَ دَاْبِ قَوْمِ نُوْحٍ وَّ عَادٍ وَّ ثَمُوْدَ وَ الَّذِيْنَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ ؕ وَ مَا اللّٰهُ يُرِيْدُ ظُلْمًا لِّلْعِبَادِ ﴿٣١﴾ وَ يٰقَوْمِ اِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ يَوْمَ التَّنَادِ ﴿٣٢﴾ يَوْمَ تُوَلُّوْنَ مُدْبِرِيْنَ ۚ مَا لَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ عَاصِمٍ ۚ وَ مَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ هَادٍ ﴿٣٣﴾

۽ جنهن ماڻهو ايمان آندو هو ان چيو ته اي منهنجي قوم آئون ڊڄان ٿو ته اوهان تي اڳين قومن جهڙو ڏينهن نه اچي وڃي جهڙو ڏينهن نوح جي قوم ۽ عاد ۽ ثمود ۽ انهن کان جيڪي پوءِ هئا تن تي آيو ۽ الله پنهنجن ٻانهن تي ڪو ظلم ڪرڻ نه ٿو چاهي ۽ اي منهنجي قوم آئون ڊڄان ٿو اوهان تي هڪ ٻئي کي سڏڻ جي ڏينهن (قيامت) اچڻ کان جنهن ڏينهن اوهان پٺ ڏيئي ڀڄندا ۽ اوهان کي الله کان بچائڻ وارو ڪوبه نه هوندو ۽ جنهن کي الله گمراهه ڪري ان کي ڪو هدايت ڏيڻ وارو نه آهي. ٣٠-٣٣

---

فرعون حضرت موسيٰ عليه السلام کي دنيا جي سزا کان ڊيڄاريو. ان جي جواب ۾ مؤمن ماڻهو فرعون کي آخرت جي سزا کان ڊيڄاريو. حق جي داعي جو طريقو هميشه اهو ئي هوندو آهي. ماڻهو دنيا جي فڪر ڪندا آهن، داعي آخرت لاءِ فڪرمند هوندو آهي. ماڻهو دنيا جي نسبت سان ڳالهه ڪندا آهن ۽ داعي آخرت جي نسبت سان ڳالهائيندو آهي. ماڻهو دنيا جي مسئلن کي سڀني کان وڌيڪ قابل ذڪر سمجهندا آهن، داعي وٽ سڀني کان وڌيڪ قابل ذڪر مسئلو اُهو هوندو آهي جنهن جو تعلق آخرت سان هجي.

وَ لَقَدْ جَآءَكُمْ يُوْسُفُ مِنْ قَبْلُ بِالْبَيِّنٰتِ فَمَا زِلْتُمْ فِيْ شَكٍّ مِّمَّا جَآءَكُمْ بِهٖ ؕ حَتّٰٓى اِذَا هَلَكَ قُلْتُمْ لَنْ يَّبْعَثَ اللّٰهُ مِنْۢ بَعْدِهٖ رَسُوْلًا ؕ كَذٰلِكَ يُضِلُّ اللّٰهُ مَنْ هُوَ مُسْرِفٌ مُّرْتَابُ ﴿٣٤﴾ ۚۖ الَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِ اللّٰهِ بِغَيْرِ سُلْطٰنٍ اَتٰىهُمْ ؕ كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَ اللّٰهِ وَ عِنْدَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ؕ كَذٰلِكَ يَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ قَلْبِ مُتَكَبِّرٍ جَبَّارٍ ﴿٣٥﴾

۽ ان کان اڳ يوسف توهان وٽ پڌرن دليلن سان آيو هو، پوءِ جيڪي توهان وٽ آندائين تنهن کان توهين شڪ ۾ هئا، ايستائين جو جڏهن هو وفات ڪري ويو. تڏهن توهان چيو ته هن کان پوءِ الله هرگز ڪو رسول نه موڪليندو. اهڙي طرح الله انهن ماڻهن کي گمراهه ڪري ٿو جيڪي حد کان لنگهندڙ ۽ شڪ ڪندڙ آهن. جيڪي الله جي آيتن

۾ جهڳڙو ڪندا آهن، بغير ڪنهن دليل جي جيڪو انهن وٽ آيو هجي. الله ۽ ايمان وارن وٽ اها وڏي غضب جهڙي ڳالهه آهي، اهڙي طرح الله مهر هڻي ڇڏيندو آهي هر وڏائي ڪندڙ سرڪش جي دل تي. ٣٤-٣٥

---

حضرت يوسفؑ جي زندگي ۾ مصر جي ماڻهن جي اڪثريت پاڻ جي نبوت جي قائل نه ٿي سگهي. پر سندس وفات کان پوءِ جڏهن ملڪي سلطنت جو نظام بگڙڻ لڳو ته مصرين کي پاڻؑ جي عظمت جو احساس ٿيو. پوءِ هو چوڻ لڳا ته يوسفؑ جو وجود مصر لاءِ وڏي برڪت وارو هو. اهڙو رسولِ هاڻي ڪٿان ايندو. حضرت يوسفؑ جيتوڻيڪ الله جا پيغمبر هئا، پر ان سان گڏ هو هڪ انسان به هئا. اُن ڪري ماڻهن لاءِ اهو چوڻ جي گنجائش هئي ته ضروري نه آهي جو يوسفؑ جا ڪمال پيغمبري جي ڪري هجن. ايئن به ٿي سگهي ٿو ته هو هڪ ذهين انسان هجن، ان ڪري انهن کان ڪمال ظاهر ٿيا هجن. اهڙي قسم جون ڳالهيون هيون جن سان مصر جا ماڻهو پاڻؑ جي باري ۾ شڪ ۾ پئجي ويا.

حق چاهي ڪيترو نه واضح هجي. موجوده امتحان جي دنيا ۾ هميشه اهو امڪان باقي رهي ٿو ته ماڻهو ڪو شڪ جو پهلو ڪڍي ان جو انڪار ڪري ڇڏي. پوءِ جيڪي ماڻهو پنهنجي اندر سرڪشي ۽ تڪبر جو مزاج رکندا هجن، جيڪي سمجهندا هجن ته حق ڪي مجي اُهي پنهنجي وڏائي وڃائي ڇڏيندا، اُهي پنهنجي ان مزاج جي ڪري شڪ ۾ پئجي وڃن ٿا. پوءِ اهي انهيءَ شڪ کي ايترو وڌائيندا آهن جو اهو سندن دل ۽ دماغ تي ڇانئجي ويندو آهي ۽ نتيجو اهو نڪرندو آهي جو هو حق جي معاملي ۾ سڌي ۽ صحيح انداز ۾ سوچي نٿا سگهن ۽ هميشه لاءِ ان جا منڪر بڻجي ويندا آهن، ايستائين جو ان ئي حال ۾ مري ويندا آهن.

وَ قَالَ فِرْعَوْنُ يٰهَامٰنُ ابْنِ لِيْ صَرْحًا لَّعَلِّيْٓ اَبْلُغُ الْاَسْبَابَ ﴿٣٦﴾ اَسْبَابَ السَّمٰوٰتِ فَاَطَّلِعَ اِلٰٓى اِلٰهِ مُوْسٰى وَ اِنِّيْ لَاَظُنُّهٗ كَاذِبًا ؕ وَ كَذٰلِكَ زُيِّنَ لِفِرْعَوْنَ سُوْٓءُ عَمَلِهٖ وَ صُدَّ عَنِ السَّبِيْلِ ؕ وَ مَا كَيْدُ فِرْعَوْنَ اِلَّا فِيْ تَبَابٍ ﴿٣٧﴾

۽ فرعون چيو ته اي هامان! مون لاءِ هڪ اوچي ماڙي بڻاءِ ته آئون (انهن) رستن تي پهچان. آسمان جي رستن تائين پوءِ موسيٰ جي معبود کي جهاتي پائي ڏسان ۽ آئون ته ان کي ڪوڙو پايان ٿو ۽ اهڙي طرح فرعون کي سندس بڇڙو ڪم چڱو ڪري ڏيکاريو ويو ۽ هو سڌي واٽ کان روڪيو ويو ۽ فرعون جي تدبير برباد ٿي. ٣٦-٣٧

---

فرعون پنهنجي وزير هامان کي جيڪا ڳالهه چئي اُها ڪا سنجيده ڳالهه نه هئي، بلڪ رڳو هڪ وقتي تدبير هئي. ان ڏنو ته مؤمن شخص جي معقول ۽ مؤثر تقرير سان دربار جا ماڻهو متاثر ٿي رهيا آهن ته ان چاهيو ته هڪ اجائي ڳالهه ڪري ته جيئن حضرت موسيٰؑ جي دعوت سنجيده بحث جو موضوع نه بڻجي سگهي، بلڪ مذاق جو موضوع بڻجي وڃي.

”بڇڙي ڪم کي چڱو ڪري ڏيکارڻ“ اهو آهي ته اهو ماڻهو ڪجهه خوبصورت لفظ ڳالهائي حق ڳالهه کي رد ڪري ڇڏي. اِهو ئي ماڻهو جي گمراهي جي اصل بنياد آهي، يعني حقيقي دليلن جي مقابلي ۾ اجاين غيرمتعلق ڳالهين کي اهميت ڏيڻ ۽ پڌري گمراهي کي ڪوڙن دليلن ۾ لڪائڻ جي ڪوشش ڪرڻ وغيره. اهڙن ماڻهن کان وسري ٿو وڃي ته جيڪو محڪم دليل تي بيٺو آهي. ان کي بي بنياد ۽ اجايون ڳالهيون ڪري مغلوب نه ٿو ڪري سگهجي.

النصف وَ قَالَ الَّذِيْٓ اٰمَنَ يٰقَوْمِ اتَّبِعُوْنِ اَهْدِكُمْ سَبِيْلَ الرَّشَادِ ﴿٣٨﴾ يٰقَوْمِ اِنَّمَا هٰذِهِ الْحَيٰوةُ
الدُّنْيَا مَتَاعٌ ۡ وَّ اِنَّ الْاٰخِرَةَ هِيَ دَارُ الْقَرَارِ ﴿٣٩﴾ مَنْ عَمِلَ سَيِّئَةً فَلَا يُجْزٰٓى اِلَّا مِثْلَهَا ۚ
وَ مَنْ عَمِلَ صَالِحًا مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَ هُوَ مؤمن فَاُولٰٓئِكَ يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ يُرْزَقُوْنَ
فِيْهَا بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٤٠﴾ وَ يٰقَوْمِ مَا لِيْٓ اَدْعُوْكُمْ اِلَى النَّجٰوةِ وَ تَدْعُوْنَنِيْٓ اِلَى النَّارِ ﴿٤١﴾ ط
تَدْعُوْنَنِيْ لِاَكْفُرَ بِاللّٰهِ وَ اُشْرِكَ بِهٖ مَا لَيْسَ لِيْ بِهٖ عِلْمٌ ۡ وَّ اَنَا اَدْعُوْكُمْ اِلَى الْعَزِيْزِ
الْغَفَّارِ ﴿٤٢﴾ لَا جَرَمَ اَنَّمَا تَدْعُوْنَنِيْٓ اِلَيْهِ لَيْسَ لَهٗ دَعْوَةٌ فِي الدُّنْيَا وَ لَا فِي الْاٰخِرَةِ وَ اَنَّ
مَرَدَّنَآ اِلَى اللّٰهِ وَ اَنَّ الْمُسْرِفِيْنَ هُمْ اَصْحٰبُ النَّارِ ﴿٤٣﴾ فَسَتَذْكُرُوْنَ مَآ اَقُوْلُ لَكُمْ ط وَ
اُفَوِّضُ اَمْرِيْٓ اِلَى اللّٰهِ ط اِنَّ اللّٰهَ بَصِيْرٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿٤٤﴾

۽ جنهن شخص ايمان آندو هو ان چيو تہ اي منهنجي قوم! منهنجي تابعداري ڪريو. آئون توهان کي صحيح رستو ٻڌائي رهيو آهيان. اي منهنجي قوم! هي دنيا جي زندگي ٿوري وٿ ڪان سواءِ (ٻيو) ڪجھ نہ آهي ۽ آخرت سدائين رهڻ جو هنڌ آهي. جيڪو برائي ڪندو تنهن کي ان جيترو بدلو ملندو ۽ جيڪو چڱو ڪم ڪندو چاهي اُهو مرد هجي يا عورت ۽ مؤمن بہ هجي تہ اهي جنت ۾ داخل ٿيندا. منجهس بي حساب رزق عطا ڪيو ويندو ۽ اي منهنجي قوم! مون کي ڇا ٿيو آهي جو آئون توهان کي نجات ڏانهن سڏيان ٿو ۽ توهان مون کي باھ ڏانهن سڏيو ٿا. توهان مون کي سڏيو ٿا تہ الله جو انڪار ڪريان ۽ ساڻس اهڙي شيءِ کي شريڪ ڪريان جنهن جو مون کي علم نہ آهي ۽ آئون توهان کي غالب بخشڻهار ڏانهن سڏيان ٿو. بيشڪ توهان مون کي ان ڏانهن سڏيو ٿا جنهن کي دنيا ۽ آخرت ۾ سڏڻ جو ڪو حق نہ آهي ۽ بيشڪ اسان جو موٽڻ الله ڏانهن آهي ۽ بيشڪ حد ڪان لنگھندڙ ئي باھ ۾ وڃڻ وارا آهن. پوءِ جيڪو توهان کي چوان ٿو سو سگھو ياد ڪندو ۽ آئون پنهنجو معاملو الله جي حوالي ڪريان ٿو بيشڪ الله ٻانهن (جي حال) کي ڏسي رهيو آهي. ٣٨-٤٤

---

فرعون جي دربار ۾ مؤمن جي اها تقرير نهايت واضح آهي. اها هڪ مثالي تقرير آهي جيڪا ٻڌائي ٿي تہ حق جي داعي جي خطاب جو انداز ڇا هئڻ گهرجي ۽ حق جي دعوت جو اصل نڪتو ڇا آهي.

”آئون توهان کي ڪائنات جي الله ڏانهن سڏيان ٿو ۽ توهان جنهن ڏانهن مون کي سڏي رهيا آهيو، ان کي سڏڻ جو ڪوبہ فائدو نہ دنيا ۾ آهي ۽ نہ آخرت ۾.“ اهو جملو مؤمن شخص جي سڄي تقرير جو خلاصو آهي. ان مان اندازو ٿئي ٿو تہ فرعون جي دربار ۾ جنهن ڳالھ تي بحث ٿي رهيو هو اهو ڇا هو. اِهو اُهو ئي تہ خدا کي سڏيو وڃي يا انسان جي ٺاهيل بتن کي سڏيو وڃي، مؤمن شخص چيو تہ الله هڪ زنده ۽ غالب حقيقت آهي. ان کي پڪارڻ هڪ حقيقي معبود کي پڪارڻ آهي، پر توهان جا بت صرف توهان جي وهم جي ايجاد آهن. اهي نہ دنيا ۾ توهان کي ڪو فائدو ڏئي سگهن ٿا ۽ نہ آخرت ۾. جڏهن انهن جو ڪو حقيقي وجود ئي نہ آهي تہ انهن مان ڪو حقيقي فائدو ڪيئن ملي سگھي ٿو (يعني الوثن لاينفع والا يضر، تفسير ابن ڪثير جلد رابع ص ٨٠)

فَوَقٰىهُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِ مَا مَكَرُوْا وَ حَاقَ بِاٰلِ فِرْعَوْنَ سُوْٓءُ الْعَذَابِ۝۴۵ اَلنَّارُ يُعْرَضُوْنَ عَلَيْهَا غُدُوًّا وَّ عَشِيًّا ۚ وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ ۫ اَدْخِلُوْٓا اٰلَ فِرْعَوْنَ اَشَدَّ الْعَذَابِ۝۴۶

پوءِ الله ان کي سندن بُرين تدبيرن کان بچائي ورتو ۽ فرعون وارن کي بري عذاب گهيري ورتو. باهہ جنهن تي اُهي صبح ۽ شام حاضر ڪيا وڃن ٿا ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي (حڪم ٿيندو) فرعون وارن کي سخت عذاب ۾ داخل ڪريو. ٤٥-٤٦

---

فرعون جي دربار جو مؤمن شخص پيغمبر نہ هو، پر تنها هئڻ جي باوجود الله ان کي فرعون جي ظلم کان بچائي ورتو. ان مان معلوم ٿيو تہ غير نبي کي بہ حق جي حمايت ڪرڻ تي اُها نصرت ملندي آهي جنهن جو وعدو انبياءَ سان ڪيو ويو آهي.

انسانن جي آخرت جي انجام جو باقاعده فيصلو جيتوڻيڪ قيامت ۾ ٿيندو، پر موت کان پوءِ جڏهن ماڻهو ٻئي دنيا ۾ داخل ٿيندو آهي تہ فوراً ان تي واضح ٿي پوندو آهي تہ هو گذريل دنيا ۾ ڪهڙا ڪم ڪري هتي پهتو آهي ۽ هاڻي ان لاءِ ڪهڙو انجام مقدر آهي. اهڙي طرح شعور جي سطح تي هو موت کان پوءِ پنهنجي انجام کي پهچندو ۽ جسماني سطح تي هو قيامت ۾ الله جي عدالت قائم ٿيڻ کان پوءِ ان سان ملندو.

وَ اِذْ يَتَحَآجُّوْنَ فِي النَّارِ فَيَقُوْلُ الضُّعَفٰٓؤُا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا اِنَّا كُنَّا لَكُمْ تَبَعًا فَهَلْ اَنْتُمْ مُّغْنُوْنَ عَنَّا نَصِيْبًا مِّنَ النَّارِ۝۴۷ قَالَ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا اِنَّا كُلٌّ فِيْهَآ ۙ اِنَّ اللّٰهَ قَدْ حَكَمَ بَيْنَ الْعِبَادِ۝۴۸ وَ قَالَ الَّذِيْنَ فِي النَّارِ لِخَزَنَةِ جَهَنَّمَ ادْعُوْا رَبَّكُمْ يُخَفِّفْ عَنَّا يَوْمًا مِّنَ الْعَذَابِ۝۴۹ قَالُوْٓا اَوَ لَمْ تَكُ تَاْتِيْكُمْ رُسُلُكُمْ بِالْبَيِّنٰتِ ؕ قَالُوْا بَلٰى ؕ قَالُوْا
ع ١٣ ١٠ فَادْعُوْا ۚ وَمَا دُعٰٓؤُا الْكٰفِرِيْنَ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ۝۵۰

۽ جڏهن باهہ ۾ هو هڪ ٻئي سان جهيڙو ڪندا ۽ هيٺا ماڻهو هٿيلن کي چوندا تہ بيشڪ اسين اوهان جا تابعدار هئاسون، پوءِ ڇا باهہ مان ڪو حصو اوهين اسان کان ٽارڻ وارا آهيو. هٿيلا چوندا تہ اسين سڀ منجهس پيل آهيون. بيشڪ الله ٻانهن جي وچ ۾ فيصلو ڪري چڪو آهي ۽ جيڪي ماڻهو باهہ ۾ هوندا اُهي جهنم جي دارغون کي چوندا اوهين پنهنجي رب کي عرض ڪريو تہ اسان کان هڪڙو ڏينهن عذاب هلڪو ڪري. هو چوندا ڇا اوهان وٽ اوهان جا پيغمبر واضح دليل کڻي نہ آيا. اُهي چوندا تہ هائو. (داروغا) چوندا تہ پوءِ اوهين پاڻ پڪاريو ۽ ڪافرن جو پڪارڻ رڳو گمراهي آهي (بيڪار آهي). ٤٧-٥٠

---

هنن آيتن ۾ جهنم جو هڪ منظر ڏيکاريو ويو آهي. دنيا ۾ جيڪي وڏا ماڻهو بڻيل هوندا هئا، انهن کي اُتي پنهنجي سڄي وڏائي وسري ويندي. اهو عوام جيڪو پنهنجن وڏن تي فخر ڪندو هو، اُهو اُتي پنهنجن وڏن کان بيزاري جو اظهار ڪندو. دنيا ۾ جيڪي ماڻهو حق جي اڳيان جهڪڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا هئا، اُهي اُتي عاجزي سان حق جي اڳيان جهڪي ويندا، پر آخرت ۾ جهڪڻ ڪنهن جي بہ ڪجهہ ڪم اچڻ وارو نہ آهي.

اِنَّا لَنَنۡصُرُ رُسُلَنَا وَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا فِي الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا وَ يَوۡمَ يَقُوۡمُ الۡاَشۡهَادُ ﴿٥١﴾ يَوۡمَ لَا
يَنۡفَعُ الظّٰلِمِيۡنَ مَعۡذِرَتُهُمۡ وَ لَهُمُ اللَّعۡنَةُ وَ لَهُمۡ سُوۡٓءُ الدَّارِ ﴿٥٢﴾ وَ لَقَدۡ اٰتَيۡنَا مُوۡسَى
الۡهُدٰى وَ اَوۡرَثۡنَا بَنِيۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ الۡكِتٰبَ ﴿٥٣﴾ هُدًى وَّ ذِكۡرٰى لِاُولِي الۡاَلۡبَابِ ﴿٥٤﴾ فَاصۡبِرۡ اِنَّ
وَعۡدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّ اسۡتَغۡفِرۡ لِذَنۡۢبِكَ وَ سَبِّحۡ بِحَمۡدِ رَبِّكَ بِالۡعَشِيِّ وَ الۡاِبۡكَارِ ﴿٥٥﴾

بيشڪ اسان مدد ڪندا آهيون پنهنجن رسولن جي ۽ ايمان وارن جي دنيا جي زندگي ۾ ۽ ان ڏينهن به جڏهن شاهد ڪڙا ٿيندا. جنهن ڏينهن ظالمن کي سندن معذرت فائدو نه ڏيندي ۽ سندن لاءِ لعنت هوندي ۽ سندن لاءِ بچڙي جاءِ هوندي ۽ بيشڪ اسان موسيٰ کي هدايت عطا ڪئي ۽ بني اسرائيل کي ڪتاب جو وارث بڻايو، رهنمائي ۽ نصيحت عقل وارن جي لاءِ آهي. پوءِ تون صبر ڪر بيشڪ الله جو واعدو برحق آهي ۽ پنهنجي ڪوتاهي جي بخشش گهر ۽ صبح ۽ شام پنهنجي رب جي ساراهه سان گڏ پاڪائي بيان ڪر. ٥١-٥٥

---

پيغمبر ۽ پيغمبر جي تابعداري ڪرڻ وارن لاءِ الله جي مدد جو يقيني وعدو آهي، پر ان مدد جو استحقاق هميشه صبر ڪان پوءِ پيدا ٿيندو آهي. صبر جي اها اهميت ان ڪري آهي ته جيئن اهل حق مڪمل طور تي اهل حق ثابت ٿين ۽ ظالم مڪمل طور تي ظالم ثابت ٿي وڃن. حق ۽ باطل کي ڌار ڪرڻ جي مرحلي تائين پهچڻ لاءِ اهل حق کي صبر ڪرڻو پئي ٿو.

اهل حق جو هي صبر انهن کي دنيا ۾ الله جي مدد جو مستحق بڻائي ٿو ۽ ان ئي صبر جي ذريعي اُهي ان قابل ٿيندا آهن جو هو قيامت جي ڏينهن ظالمن جي مقابلي ۾ خدا جا شاهد بڻجي بيهن.

الله طرفان جيڪو ڪتاب ايندو آهي، اُهو انسانن جي هدايت ۽ نصيحت لاءِ ايندو آهي. پر اها نصيحت صرف انهن ماڻهن کي فائدو ڏي ٿي، جيڪي عقل وارا آهن. يعني اُهي ماڻهو جيڪي مصلحتن ۾ قيد نه هجن، جيڪي نفسياتي مونجهارن کان آزاد ٿي نصيحت تي غور ڪري سگهن. جيڪي ڳالهين کي دليل جي لحاظ کان جانچي سگهن نه وري ڪنهن ٻي لحاظ کان. اهوئي الله جي هدايت سان عقل جو معاملو ڪرڻ آهي، جيڪي ماڻهو الله جي هدايت سان بي عقلي جو معاملو ڪن، اُهي ظالم آهن ۽ جيڪي ماڻهو الله جي هدايت سان عقل وارو معاملو ڪن اُهي ئي ڪامياب آهن.

اِنَّ الَّذِيۡنَ يُجَادِلُوۡنَ فِيۡۤ اٰيٰتِ اللّٰهِ بِغَيۡرِ سُلۡطٰنٍ اَتٰٮهُمۡ ۙ اِنۡ فِيۡ صُدُوۡرِهِمۡ اِلَّا كِبۡرٌ مَّا
هُمۡ بِبَالِغِيۡهِ ۚ فَاسۡتَعِذۡ بِاللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيۡعُ الۡبَصِيۡرُ ﴿٥٦﴾

بيشڪ جيڪي ماڻهو بنا ڪنهن سند جي جيڪا وٽن آئي هجي الله جي آيتن ۾ جهڳڙو ڪن ٿا. تن جي دلين ۾ صرف وڏائي آهي جنهن کي اُهي پهچڻ وارا نه آهن. تنهن ڪري تون الله جي پناهه گهر. بيشڪ هو ٻڌڻ وارو ڏسڻ وارو آهي. ٥٦

---

حق ايترو واضح ۽ دليل سان هوندو آهي جو اُن کي سمجهڻ ڪنهن جي لاءِ به مشڪل نه آهي، پر جڏهن به حق ظاهر ٿيندو آهي ته هو ڪنهن ”انسان“ جي ذريعي ظاهر ٿيندو آهي. ان ڪري حق جو اعتراف عملاً ان ماڻهو کي ميڻ جي هم معنيٰ بڻجي ويندو آهي. تنهن ڪري اُهي ماڻهو حق کي ميڻ

تي راضي نٿا ٿين جيڪي پنهنجي اندر وڏائي جي نفسيات رکندا هجن.

اهڙن ماڻهن کي ڏپ هوندو آهي ته حق جو اعتراف ڪرڻ سان اُهي داعي جي مقابلي ۾ پنهنجي وڏائي وڃائي ڇڏيندا. پنهنجي ان نفسيات جي ڪري اُهي داعي جا مخالف بڻجي ويندا آهن، پر الله پنهنجي دنيا ۾ مقدر ڪري ڇڏيو آهي ته اهڙا ماڻهو ڪڏهن به ڪامياب نه ٿين.

لَخَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ اَكْبَرُ مِنْ خَلْقِ النَّاسِ وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ﴿۵۷﴾ وَ مَا يَسْتَوِي الْاَعْمٰى وَ الْبَصِيْرُ ۙ۬ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَ لَا الْمُسِيْٓءُ ؕ قَلِيْلًا مَّا تَتَذَكَّرُوْنَ﴿۵۸﴾ اِنَّ السَّاعَةَ لَاٰتِيَةٌ لَّا رَيْبَ فِيْهَا وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يُؤْمِنُوْنَ﴿۵۹﴾

بيشڪ آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪرڻ انسانن جي پيدا ڪرڻ کان وڏو ڪم آهي، پر اڪثر ماڻهو نٿا ڄاڻن ۽ انڌو ۽ اکين وارو برابر نه آهن ۽ نه جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ۽ برائي ڪرڻ وارا (برابر آهن). اوهين ٿوري نصيحت وٺندا آهيو. بيشڪ قيامت اچڻي آهي، ان ۾ ڪو شڪ نه آهي، پر اڪثر ماڻهو نٿا مڃن. ٥٧-٥٩

---

ڪائنات جي عظمت پنهنجي خالق جي عظمت جو تعارف آهي. ان عظمت جي مقابلي ۾ انسان کي ٻيهر پيدا ڪرڻ نهايت آسان ڪم آهي، اهڙي طرح ڪائنات جي موجوده تخليق انسان جي ٻيهر تخليق جي امڪان کي ثابت ڪري رهي آهي.

ان کان پوءِ انساني سماج کي ڏٺو وڃي ته آخرت جي دنيا جو اچڻ هڪ اخلاقي ضرورت لڳي ٿي. سماج ۾ اهڙا ماڻهو به آهن جيڪي حقيقت کي ڏسڻ جو ثبوت ڏين ٿا ۽ اهڙا ماڻهو به آهن جيڪي حقيقت جي مقابلي ۾ بلڪل انڌا بڻجي ويا آهن. اهڙي طرح سماج ۾ اهڙا ماڻهو به آهن جيڪي هرحال ۾ انصاف تي قائم رهندا آهن ۽ اهڙا ماڻهو به آهن جيڪي انصاف کان هٽي ويندا آهن ۽ معاملن ۾ ظالماڻو رويو اختيار ڪندا آهن. انسان جو اخلاقي احساس چوي ٿو ته انهن ٻنهي قسمن جي انسانن جو انجام هڪ جهڙو نه هئڻ گهرجي.

انهن ڳالهين تي غور ڪيو وڃي ته معلوم ٿيندو ته آخرت جو اچڻ عقل جي لحاظ کان به ممڪن آهي ۽ اخلاقي لحاظ کان به ضروري آهي.

وَ قَالَ رَبُّكُمُ ادْعُوْنِيْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِيْ سَيَدْخُلُوْنَ جَهَنَّمَ دٰخِرِيْنَ﴿۶۰﴾ اَللّٰهُ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ لِتَسْكُنُوْا فِيْهِ وَ النَّهَارَ مُبْصِرًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَشْكُرُوْنَ﴿۶۱﴾ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ ۘ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۫ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ﴿۶۲﴾ كَذٰلِكَ يُؤْفَكُ الَّذِيْنَ كَانُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ يَجْحَدُوْنَ﴿۶۳﴾

۽ توهان جو رب فرمائي ٿو ته مون کي سڏيو. آئون توهان جي درخواست قبول ڪندس. جيڪي منهنجي عبادت کان وڏائي ڪندا آهن سي ذليل ٿي سگهو ئي جهنم ۾ داخل ٿيندا. الله اُهو آهي جنهن توهان لاءِ رات

ڪي پيدا ڪيو، تہ جيئن توهان ان ۾ آرام وٺو ۽ ڏينهن کي روشن ڪيو. بيشڪ الله ماڻهن تي وڏو فضل ڪرڻ وارو آهي، پر اڪثر ماڻهو شڪر نٿا ڪن. اهو الله توهان جو رب آهي هر شيءِ جو پيدا ڪرڻ وارو. ان ڪان سواءِ ڪو معبود نہ آهي، پوءِ توهان ڪيڏانهن ڦيرايا ويندا آهيو. اهڙي طرح اُهي ماڻهو ڦيرائبا آهن جيڪي الله جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا. ٦٠-٦٣

---

زمين تي رات ۽ ڏينهن جو باقاعده نظام ۽ اهڙي قسم جا ٻيا زندگي جا اسباب ان ڪان وڏا آهن جو ڪو انسان يا سڄي مخلوق ملي بہ انهن کي پيدا ڪري سگهن. اهو هڪ واضح ثبوت آهي جيڪو ٻڌائي ٿو تہ جيڪو خالق آهي اُهو ئي ان لائق آهي جو انهيءَ کي معبود بڻايو وڃي. ماڻهو کي گهرجي تہ ان ئي جي اڳيان جهڪي ۽ ان مان ئي اميدون قائم ڪري.

پر ماڻهو ڪائنات جي خالق سان دعا جو حقيقي تعلق قائم نہ ٿو ڪري. ان جو سبب اهو آهي جو هو ڪنهن نہ ڪنهن غيرخالق ۾ اٽڪيل هوندو آهي. ڪجھ ماڻهو زنده يا مرده بتن ۾ اٽڪيل هوندا آهن. جنهن کي شرڪ چيو ويندو آهي ۽ ڪجھ ماڻهو خود پنهنجي ذات ۾ اٽڪيل هوندا آهن. جنهن جو ٻيو نالو تڪبر آهي. الله هر هر اهڙا دليل ڏي ٿو جيڪي ان فريب جي ترديد ڪرڻ وارا آهن، پر انسان ڪو نہ ڪو هٿ ٺوڪيل دليل ڏئي انهن کي نظرانداز ڪري ڇڏي ٿو.

اهڙي قسم جو هر رويو ڪائنات جي خالق جي ناقدري آهي ۽ جيڪي ماڻهو خالق ڪائنات جي ناقدري ڪن، اُهي جهنم ڪان علاوه ڪا ٻي جڳھ حاصل نٿا ڪري سگهن.

اَللّٰهُ الَّذِیۡ جَعَلَ لَکُمُ الۡاَرۡضَ قَرَارًا وَّ السَّمَآءَ بِنَآءً وَّ صَوَّرَکُمۡ فَاَحۡسَنَ صُوَرَکُمۡ وَ رَزَقَکُمۡ مِّنَ الطَّیِّبٰتِ ؕ ذٰلِکُمُ اللّٰهُ رَبُّکُمۡ ۚۖ فَتَبٰرَکَ اللّٰهُ رَبُّ الۡعٰلَمِیۡنَ ﴿۶۴﴾ هُوَ الۡحَیُّ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ فَادۡعُوۡهُ مُخۡلِصِیۡنَ لَهُ الدِّیۡنَ ؕ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ﴿۶۵﴾

الله اُهو آهي جنهن زمين کي توهان لاءِ ٽِڪڻ (آرام) جو هنڌ بڻايو ۽ آسمان کي ڇت بڻايو ۽ توهان جي صورت ٺاهي تہ سهڻيون ٺاهيائين ۽ توهان کي سٺين شين مان روزي ڏنائين. اهو الله توهان جو رب آهي وڏي برڪت وارو آهي. الله جهانن جو پالڻهار اُهو زنده آهي ان ڪان سواءِ ڪو معبود نہ آهي. تنهن ڪري توهان ان ئي کي سڏيو، دين کي ان لاءِ خالص ڪندي. سڀ تعريف الله لاءِ آهي جيڪو رب آهي سڀني جهانن جو. ٦٤-٦٥

---

زمين تي اڻڳڻ اسباب جمع ڪيا ويا آهن. ان ڪان پوءِ اِهو ممڪن ٿيو آهي جو انسان جهڙي مخلوق جو ان تي رهي تمدن جي تعمير ڪري سگهي. اهڙي طرح زمين جي مٿان جيڪا فضا آهي ان ۾ بي شمار موافق انتظام آهن جن ۾ جيڪڏهن معمولي فرق پيدا ٿي وڃي تہ انساني زندگي جو نظام تباهہ ٿي وڃي، پوءِ انسان جي بناوٽ ايتري اعليٰ انداز ۾ ڪئي وئي آهي جو هو ذهن ۽ جسم جي لحاظ کان دنيا جي سڀ ڪان بهتر مخلوق بڻجي ويو آهي. جنهن خالق اِهو سڀ ڪجھ ڪيو آهي ان ڪان سواءِ ڪير ان قابل ٿي سگهي ٿو جو انسان ان جو پرستار بڻجي.

الله لاءِ دين کي خالص ڪري ان کي سڏڻ اهو آهي تہ ديني ۽ مذهبي نوعيت جو تعلق صرف هڪ الله سان هجي. الله ڪان سواءِ ڪنهن سان بہ ديني ۽ مذهبي قسم جو لڳاءُ باقي نہ رهي.

قُلْ اِنِّيْ نُهِيْتُ اَنْ اَعْبُدَ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَمَّا جَآءَنِيَ الْبَيِّنٰتُ مِنْ رَّبِّيْ ۫ وَ
اُمِرْتُ اَنْ اُسْلِمَ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦٦﴾ هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ مِنْ
عَلَقَةٍ ثُمَّ يُخْرِجُكُمْ طِفْلًا ثُمَّ لِتَبْلُغُوْٓا اَشُدَّكُمْ ثُمَّ لِتَكُوْنُوْا شُيُوْخًا ۚ وَ مِنْكُمْ مَّنْ
يُّتَوَفّٰى مِنْ قَبْلُ وَ لِتَبْلُغُوْٓا اَجَلًا مُّسَمًّى وَّ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿٦٧﴾ هُوَ الَّذِيْ يُحْيٖ وَ يُمِيْتُ ۚ
ع ٧ فَاِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿٦٨﴾ ع
١٢

چئو تہ مون کي منع ڪئي وئي آهي تہ آئون انهن جي عبادت ڪريان جن کي توهان الله کان سواءِ سڏيندا آهيو. جڏهن تہ مون وٽ پنهنجي رب طرفان پڌرا دليل اچي چڪا ۽ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ آئون پاڻ کي جهانن جي پالڻهار جي حوالي ڪريان. اهو ئي آهي جنهن توهان کي مٽي مان پيدا ڪيو، پوءِ نطفي مان، پوءِ رت جي دڳ مان، پوءِ هو توهان کي ٻار جي شڪل ۾ ڪڍي ٿو تہ جيئن (توهان) پنهنجي پوري سگهہ کي پهچو. وري تہ ٻيڏا ٿيو ۽ توهان مان ڪو اڳ مري ٿو جو توهان مقرر مدت کي پهچو ۽ تہ جيئن توهان سوچو، اُهو ئي آهي جيڪو جيارينديو آهي ۽ مارينديو آهي، پوءِ جڏهن هو ڪنهن امر جو فيصلو ڪندو آهي تہ ان کي رڳو چوندو آهي تہ ٿي تہ ٿيءُ پوندو آهي. ٦٦-٦٨

---

هنن آيتن ۾ فطرت جي ڪجهہ واقعن جو ذڪر آهي ۽ ان کان پوءِ ارشاد ٿيو تہ ”اهو ان لاءِ آهي تہ جيئن توهان غور ڪريو“. ڇڻ فطرت جا اُهي مادي واقعا پنهنجي اندر معنوي سبق رکن ٿا ۽ انسان کان اهو گهربل آهي تہ هو غور ڪري ان لڪيل سبق تائين پهچي.

فطرت جي جن واقعن جو هتي ذڪر ڪيو ويو آهي اُهي هي آهن، بي جان مادي جو تبديل ٿي جاندار شيءِ بڻجي وڃڻ، انسان جو درجي بہ درجي وڌڻ، جواني تائين پهچي وري ماٺهو تي پوڙهائپ طاري ٿيڻ، زنده انسان جو وري مرڻ، ڪڏهن گهٽ عمر ۾ تہ ڪڏهن وڏي عمر ۾. اهي واقعا خالق جي مختلف صفتن جو تعارف آهن. اُن مان معلوم ٿيندو آهي تہ هن ڪائنات کي وجود ۾ آڻڻ وارو هڪ اهڙو الله آهي جيڪو قادر ۽ حڪيم آهي. اُهو سيني تي غالب ۽ بالادست آهي.

جيڪڏهن ماڻهو انهن واقعن مان حقيقي سبق وٺي تہ ان جو ذهن پڪاريندو تہ هڪ خدا ئي ان لائق آهي جو ان جي عبادت ڪئي وڃي ۽ ان جي ئي اسان کي طلب هجي. ڪائنات جو اهو نقشو پنهنجي زبان حال سان انهن سيني معبودن جي ترديد ڪري رهيو آهي جيڪي هڪ الله کي ڇڏي ٺاهيا ويا آهن.

مع عند المتأخرين ٢ اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِ اللّٰهِ ؕ اَنّٰى يُصْرَفُوْنَ ﴿٦٩﴾ۚۖ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِالْكِتٰبِ وَ
بِمَآ اَرْسَلْنَا بِهٖ رُسُلَنَا ۛ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٠﴾ۙ اِذِ الْاَغْلٰلُ فِيْٓ اَعْنَاقِهِمْ وَ السَّلٰسِلُ ؕ
يُسْحَبُوْنَ ﴿٧١﴾ۙ فِي الْحَمِيْمِ ۙ۬ ثُمَّ فِي النَّارِ يُسْجَرُوْنَ ﴿٧٢﴾ۚ ثُمَّ قِيْلَ لَهُمْ اَيْنَ مَا كُنْتُمْ
تُشْرِكُوْنَ ﴿٧٣﴾ۙ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ قَالُوْا ضَلُّوْا عَنَّا بَلْ لَّمْ نَكُنْ نَّدْعُوْا مِنْ قَبْلُ شَيْـًٔا ؕ
كَذٰلِكَ يُضِلُّ اللّٰهُ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٧٤﴾ ذٰلِكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَفْرَحُوْنَ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَ

بِمَا كُنۡتُمۡ تَمۡرَحُوۡنَ ﴿۷۵﴾ اُدۡخُلُوۡۤا اَبۡوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَا ۚ فَبِئۡسَ مَثۡوَى الۡمُتَكَبِّرِيۡنَ ﴿۷۶﴾

ڇا تو انهن ماڻهن کي نہ ڏٺو جيڪي الله جي آيتن ۾ جهڳڙو ڪندا آهن. اهي ڪيڏانهن ڦيرايا ويندا آهن جن ڪتاب کي ڪوڙ ڄاتو ۽ ان شيءِ کي بہ جنهن سان گڏ اسان پنهنجن رسولن کي موڪليو تہ سگهو اُهي ڄاڻي وٺندا، جڏهن سندن ڳچين ۾ ڳٽ هوندا ۽ زنجيرون. اهي گهليا ٿهڪندڙ پاڻي ۾ پوءِ باهہ ۾ ساڙيا ويندا، پوءِ کين چئبو تہ ڪٿي آهن. اُهي جن کي توهان شريڪ ٺهرائيندا هئا الله کان سواءِ. اهي چوندا تہ اهي اسان کان گم ٿي ويا. بلڪ اسان ڪنهن شيءِ کي اڳ ۾ نہ سڏيندا هئاسون، اهڙي طرح الله گمراهہ ڪري ٿو منڪرن کي. اهو ان سبب جي ڪري جو توهان زمين ۾ ناحق خوشي (آڪڙ) ڪندا هئا ۽ ان سبب جي ڪري جو توهان تڪبر ڪندا هئا جهنم جي دروازن ۾ داخل ٿي وڃو. ان ۾ هميشہ رهڻ جي لاءِ. پوءِ ڪيڏي بڇڙي جاءِ آهي تڪبر ڪرڻ وارن لاءِ. ٦٩-٧٦

---

ناحق تي خوش ٿيڻ وارا ۽ تڪبر ڪرڻ وارا ڪير هئا، اهي وقت جا وڏا ماڻهو هئا. کين ڪجهہ دنيا جو سامان ۽ هن دنيا جي وڏائي ملي وئي هئي. ان جي ڪري اهي فخر ۽ تڪبر ۾ مبتلا ٿي ويا. سندن مادي ڪاميابي انهن ۾ غلط طور اهو احساس پيدا ڪري ڇڏيو جو کين سڀ ڪجهہ حاصل آهي، حالانڪ حقيقت جي لحاظ کان اهي صرف محروم ماڻهو هئا.

وقت جا اهي وڏا پهرين حق جا منڪر بڻبا آهن، پوءِ سندن پيروي ۾ عوام بہ حق جو انڪار ڪرڻ لڳندو آهي. هنن آيتن ۾ اڳيان اچڻ واري دنيا جو منظر ڏيکاري ويو آهي. جڏهن اهي ماڻهو پنهنجي تڪبر واري زندگي جي سزا پائڻ لاءِ جهنم ۾ وڌا ويندا. سندن ڪوڙي وڏائي کين جتي پهچائيندي اها رڳو هميشہ جي ذلت آهي، جنهن مان نڪرڻ جي ڪا بہ صورت نہ هوندي.

فَاصۡبِرۡ اِنَّ وَعۡدَ اللّٰهِ حَقٌّ ۚ فَاِمَّا نُرِيَنَّكَ بَعۡضَ الَّذِيۡ نَعِدُهُمۡ اَوۡ نَتَوَفَّيَنَّكَ فَاِلَيۡنَا يُرۡجَعُوۡنَ ﴿۷۷﴾

پوءِ صبر ڪر بيشڪ الله جو وعدو سچو آهي. پوءِ جنهن جو وعدو اسان انهن سان ڪري رهيا آهيون، ان جو ڪجهہ حصو اسان توکي ڏيکاريون يا توکي وفات ڏيون. پوءِ کين اسان ڏانهن ئي موٽڻو آهي. ٧٧

---

الله جو اهو واعدو آهي تہ هو حق جي داعين جي مدد ڪندو ۽ حق جي مخالفن کي مغلوب ڪندو. پر ان وعدي جو استحقاق صبر ڪرڻ کان پوءِ ٿيندو آهي. داعي کي مخالفن جي ايذائن کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو، ايستائين جو الله جي سنت مطابق ان وعدي جي پوري ٿيڻ جو وقت اچي وڃي.

حق جي مخالفن جي اصل سزا اُها آهي، جيڪا کين آخرت ۾ ملندي. جڏهن تہ موجوده دنيا ۾ بہ انهن کي ان سزا جو ابتدائي تجربو ڪرايو ويندو آهي. پر هميشہ ايئن ڪيو وڃڻ ضروري نہ آهي.

وَلَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا رُسُلًا مِّنۡ قَبۡلِكَ مِنۡهُمۡ مَّنۡ قَصَصۡنَا عَلَيۡكَ وَمِنۡهُمۡ مَّنۡ لَّمۡ نَقۡصُصۡ عَلَيۡكَ ؕ وَمَا كَانَ لِرَسُوۡلٍ اَنۡ يَّاۡتِىَ بِاٰيَةٍ اِلَّا بِاِذۡنِ اللّٰهِ ۚ فَاِذَا جَآءَ اَمۡرُ اللّٰهِ قُضِىَ بِالۡحَقِّ

ع ١٢ وَ خَسِرَ هُنَالِكَ الْمُبْطِلُوْنَ ﴿٧٨﴾

۽ بيشڪ اسان توکان اڳ ۾ ڪيترائي رسول موڪليا. انهن مان ڪجهه جو احوال توکي بيان ڪيوسون ۽ انهن ۾ ڪجهه اهڙا به آهن جن جو احوال اسان توکي بيان نه ڪيوسون ۽ ڪنهن به پيغمبر کي اها طاقت نه هئي جو هو الله جي حڪم کان سواءِ ڪو معجزو آڻي سگهي. پوءِ جڏهن الله جو حڪم آيو ته حق جي مطابق فيصلو ڪيو ويو ۽ اتي ڪوڙا خساري ۾ پيا. ٧٨

قرآن ۾ رسولن جا احوال تاريخ لاءِ بيان نه ڪيا ويا آهن، بلڪ نصيحت لاءِ بيان ڪيا ويا آهن. ان ڪري قرآن ۾ رسولن جا احوال محدود طور صرف اوترا ئي ٻڌايا ويا آهن، جيترا الله تعاليٰ وٽ نصيحت لاءِ ضروري هئا.

رسول جو اصل ڪم صرف اهو هوندو آهي جو هو الله جو پيغام ان جي سيني ضروري ادبن ۽ تقاضن سان ماڻهن تائين پهچائي ڇڏي، ان کان پوءِ جيستائين معجزي جو تعلق آهي، اهو الله جي اختيار ۾ آهي. هو پنهنجي مصلحت جي تحت ڪڏهن ان کي ظاهر ڪري ٿو ۽ ڪڏهن ظاهر نه ٿو ڪري.

معجزا گهڻو ڪري انهن قومن کي ڏيکاريا ويا جن جي سرڪشي جي ڪري الله جو فيصلو هو ته کين هلاڪ ڪيو وڃي. ان ڪري آخري طور حجت پوري ڪرڻ لاءِ کين معجزا ڏيکاريا ويا. پر پيغمبر ﷺ جي قوم جو معاملو اِهو هو ته ان جو وڏو حصو آخرڪار مؤمن بڻجڻ وارو هو. هي اهي ماڻهو هئا جن ۾ اها صلاحيت هئي جو هو تاريخ جي پهرين جماعت بڻجڻ. جنهن رڳو دليل جي بنياد تي حق جو اعتراف ڪيو ۽ پنهنجي اختيار ۽ ارادي سان پنهنجي پاڻ کي حق جي حوالي ڪيو. ان ڪري انهن ماڻهن جي مطالبي کي سندن ناداني سمجهي ڪري کين معجزا نه ڏيکاريا ويا.

اَللّٰهُ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَنْعَامَ لِتَرْكَبُوْا مِنْهَا وَ مِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ﴿٧٩﴾ وَ لَكُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ وَ لِتَبْلُغُوْا عَلَيْهَا حَاجَةً فِيْ صُدُوْرِكُمْ وَ عَلَيْهَا وَ عَلَى الْفُلْكِ تُحْمَلُوْنَ ﴿٨٠﴾ وَ يُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ فَاَيَّ اٰيٰتِ اللّٰهِ تُنْكِرُوْنَ ﴿٨١﴾

الله اُهو آهي جنهن اوهان لاءِ ڍور پيدا ڪيا ته جيئن توهان انهن مان ڪن تي سواري ڪريو ۽ انهن مان ڪن کي کائيندا آهيو ۽ منجهن اوهان لاءِ (ٻيا به) فائدا آهن ۽ مٿن چڙهي انهيءَ مطلب کي پهچو جيڪو اوهان جي دلين ۾ آهي ۽ مٿن ۽ ٻيڙين تي اوهان سوار ڪيا وڃو ٿا ۽ الله اوهان کي پنهنجون پيون نشانيون به ڏيکاريندو آهي. پوءِ الله جي ڪهڙين ڪهڙين نشانين جو انڪار ڪندؤ. ٧٩-٨١

انسان کي پنهنجي زندگي ۾ رهڻ ڪرڻ لاءِ گهڻين شين جي ضرورت آهي. مثلاً غذا، سواري، مختلف قسم جون صنعتون، سامان کي هڪ جاءِ کان ٻئي جاءِ تي ڪٽي وڃڻ. اهي سڀ شيون موجوده دنيا ۾ وڏي مقدار ۾ موجود آهن. الله دنيا جي شين کي اهڙي طرح بڻايو آهي جو اُهي انسان جي تابع رهن ۽ انسان انهن کي پنهنجن ضرورتن لاءِ جهڙي طرح چاهي استعمال ڪري سگهي.

اهي سڀ شيون ڄڻ ته الله جون نشانيون آهن. اُهي نشانيون غيبي حقيقتن جو مادي زبان ۾ اعلان ڪري رهيون آهن. اهو اعلان جيتوڻيڪ فطرت جي زبان ۾ آهي، پر انسان جي ڀلائي اُن ۾ آهي

جو هو فطرت جي زبان کي سمجهي. ڇاڪاڻ تہ الله جڏهن براه راست زبان ۾ ڪلام ڪندو تہ اهو مهلت ختم ٿيڻ جو اعلان هوندو نہ وري عمل شروع ڪرڻ جو.

اَفَلَمۡ يَسِيۡرُوۡا فِى الۡاَرۡضِ فَيَنۡظُرُوۡا كَيۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ‌ؕ كَانُوۡۤا اَكۡثَرَ مِنۡهُمۡ وَ اَشَدَّ قُوَّةً وَّ اٰثَارًا فِى الۡاَرۡضِ فَمَاۤ اَغۡنٰى عَنۡهُمۡ مَّا كَانُوۡا يَكۡسِبُوۡنَ ﴿۸۲﴾ فَلَمَّا جَآءَتۡهُمۡ رُسُلُهُمۡ بِالۡبَيِّنٰتِ فَرِحُوۡا بِمَا عِنۡدَهُمۡ مِّنَ الۡعِلۡمِ وَ حَاقَ بِهِمۡ مَّا كَانُوۡا بِهٖ يَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ﴿۸۳﴾ فَلَمَّا رَاَوۡا بَاۡسَنَا قَالُوۡۤا اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَحۡدَهٗ وَ كَفَرۡنَا بِمَا كُنَّا بِهٖ مُشۡرِكِيۡنَ ﴿۸۴﴾ فَلَمۡ يَكُ يَنۡفَعُهُمۡ اِيۡمَانُهُمۡ لَمَّا رَاَوۡا بَاۡسَنَا‌ؕ سُنَّتَ اللّٰهِ الَّتِىۡ قَدۡ خَلَتۡ فِىۡ عِبَادِهٖ‌ۚ وَخَسِرَ هُنَالِكَ الۡكٰفِرُوۡنَ ﴿۸۵﴾

ڇا اهي زمين ۾ گهميا ڦريا نہ آهن جو ڏسن ها تہ ڇا انجام ٿيو انهن ماڻهن جو جيڪي کانئن اڳ گذري چڪا آهن. جيڪي کانئن گهڻا هئا ۽ سگهہ ۾ ۽ زمين تي جيڪي نشانيون (ڇڏي ويا) تمام ڏاڍا هئا. پوءِ سندن ڪمائي سندن ڪجهہ ڪم نہ آئي. پوءِ جڏهن سندن پيغمبر وٽن واضح دليل کڻي آيا تہ اُهي پنهنجي علم تي ناز ڪرڻ لڳا ۽ انهن تي اهو عذاب اچي پيو جنهن جو اُهي مذاق اڏائيندا هئا. پوءِ جنهن مهل انهن اسان جو عذاب ڏٺو چوڻ لڳا تہ اسان اڪيلي الله تي ايمان آندو ۽ اسان انڪار ٿا ڪريون جن کي اسان (الله) سان شريڪ ڪندا هئاسون. جڏهن اسان جو عذاب ڏسي ورتو تہ ڪين سندن ايمان آڻڻ ڪم نہ آيو. اِهو ئي الله جو دستور آهي جيڪو سندس ٻانهن ۾ هلندو ٿو اچي ۽ ان وقت انڪار ڪرڻ وارا خساري ۾ رهجي ويا. ٨٢-٨٥

---

علم جا ٻہ قسم آهن. هڪ اُهو علم جنهن مان دنيا جون ترقيون حاصل ٿينديون آهن. ٻيو علم اُهو آهي جيڪو آخرت جي ڪاميابي جو رستو ٻڌائي ٿو. جن ماڻهن وٽ دنيا جو علم هجي، سندن علم جو شاندار نتيجو فوري طور دنيا جي ترقي جي صورت ۾ سامهون اچي ويندو آهي. ان جي ابتڙ جنهن ماڻهو وٽ آخرت جو علم هجي، ان جي علم جا نتيجا فوري طور نظر ايندڙ شڪل ۾ سامهون نٿا اچن.

اهو فرق انهن ماڻهن ۾ برتري جو احساس پيدا ڪري ڇڏي ٿو جيڪي دنيا جو علم رکندا هجن. تنهن ڪري اهڙين قومن وٽ جڏهن پيغمبر آيا تہ انهن قومن پاڻ کي وڏيڪ سمجهيو ۽ پيغمبر کي گهٽ سمجهو، ايستائين جو اُهي سندن مذاق اڏائڻ لڳا، پر الله انهن قومن کي سندن سيني طاقتن ۽ شاندار ترقين جي باوجود هلاڪ ڪري ڇڏيو. هاڻي انهن جا تاريخي آثار ڪنڊرن جي شڪل ۾ آهن يا زمين جي هيٺ دٻيل آهن. اهڙي طرح الله تعاليٰ سيني انسانن لاءِ هڪ تاريخي مثال قائم ڪري ڇڏيو آهي تہ هميشہ جي ڪاميابي جو راز آخرت جي علم ۾ آهي نہ وري دنيا جي علم ۾.

انهن قومن شروع ۾ پنهنجن پيغمبرن جو انڪار ڪيو. پيغمبرن وٽ دليل جي طاقت هئي، پر اُهي قومون دليل جي طاقت اڳيان جهڪڻ لاءِ تيار نہ ٿيون، پوءِ الله عذاب جي زبان ۾ انهن کي حق کان آگاهہ ڪيو. ان وقت اُهي ماڻهو جهڪي اقرار ڪرڻ لڳا، پر اهو اقرار سندن ڪنهن بہ ڪم نہ آيو. ڇاڪاڻ تہ اقرار اُهو گهربل آهي جيڪو دليل جي بنياد تي هجي. ان اقرار جي ڪا قيمت نہ آهي جيڪو عذاب ڏسي ڪيو وڃي.

اٰياتها ٥٤ (٤١) سُوۡرَةُ حٰمٓ السَّجۡدَةِ مَكِّيَّةٌ (٦١) رڪوعاتها ٦

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

حٰمٓ ۚ﴿۱﴾ تَنۡزِيۡلٌ مِّنَ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۚ﴿۲﴾ كِتٰبٌ فُصِّلَتۡ اٰيٰتُهٗ قُرۡاٰنًا عَرَبِيًّا لِّقَوۡمٍ يَّعۡلَمُوۡنَ ۙ﴿۳﴾
بَشِيۡرًا وَّ نَذِيۡرًا ۚ فَاَعۡرَضَ اَكۡثَرُهُمۡ فَهُمۡ لَا يَسۡمَعُوۡنَ ﴿۴﴾ وَ قَالُوۡا قُلُوۡبُنَا فِيۡۤ اَكِنَّةٍ مِّمَّا
تَدۡعُوۡنَاۤ اِلَيۡهِ وَ فِيۡۤ اٰذَانِنَا وَقۡرٌ وَّ مِنۡۢ بَيۡنِنَا وَ بَيۡنِكَ حِجَابٌ فَاعۡمَلۡ اِنَّنَا عٰمِلُوۡنَ ﴿۵﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

حا- مر. هي وڏي مهربان نهايت رحم واري طرفان نازل ٿيل ڪلام آهي. هي هڪ ڪتاب آهي جنهن جون آيتون کولي کولي بيان ڪيون ويون آهن عربي زبان ۾. قرآن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي سمجهه رکن ٿا خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ. پوءِ اڪثر ماڻهن ان کان منهن موڙيو، تنهن ڪري اهي ٻڌندا ئي نه آهن ۽ انهن چيو جنهن ڏانهن اسان کي سڏيندو آهين تنهن کان اسان جون دليون پردي ۾ آهن ۽ اسان جي ڪنن ۾ ٻوڙائپ آهي ۽ اسان جي ۽ تنهنجي وچ ۾ اوٽ آهي. تنهن ڪري تون پنهنجو ڪم ڪر. بيشڪ اسين پنهنجو ڪم ڪري رهيا آهيون. ١-٥

پيغمبر جي دعوت ملاوٽ کان پاڪ خالص دين جي دعوت هوندي آهي. ان جي ابتڙ ماڻهن جو حال اِهو آهي جو اهي اڪثر پنهنجن بزرگن جي دين تي هوندا آهن. انهن تي پنهنجن قومي روايتن ۽ زماني جي فڪر جو غلبو هوندو آهي. ان ڪري پيغمبر جو ملاوٽ کان پاڪ خالص دين سندن فڪري ڍانچي ۾ نه ٿو اچي. اهو انهن کي اوپرو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اهو فرق پيغمبر ۽ ماڻهن جي وچ ۾ هڪ ذهني رڪاوٽ جو سبب بڻجي ويندو آهي. ان ڪري ماڻهو پيغمبر جي دعوت کي سمجهڻ ۾ ناڪام ٿي ان کي ميڙڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندا آهن.

پيغمبر جي دعوت انتهائي مضبوط دليلن جي بنياد تي هوندي آهي ۽ اهو ان ڳالهه جو ثبوت آهي جو اها الله طرفان آيل ڳالهه آهي. پر متي ذڪر ڪيل ذهني رڪاوٽ ايتري طاقتور ثابت ٿيندي آهي جو انسان پيغمبر جي دعوت جو انڪار ڪري ڇڏين ٿا. الله انسانن لاءِ پنهنجي رحمت جا دروازا کولي ٿو، پر انسان ان ۾ داخل ٿيڻ کان انڪار ڪري ٿو ڇڏي.

قُلۡ اِنَّمَاۤ اَنَا بَشَرٌ مِّثۡلُكُمۡ يُوۡحٰۤى اِلَىَّ اَنَّمَاۤ اِلٰهُكُمۡ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ فَاسۡتَقِيۡمُوۡۤا اِلَيۡهِ وَ
اسۡتَغۡفِرُوۡهُ ؕ وَ وَيۡلٌ لِّلۡمُشۡرِكِيۡنَ ۙ﴿۶﴾ الَّذِيۡنَ لَا يُؤۡتُوۡنَ الزَّكٰوةَ وَ هُمۡ بِالۡاٰخِرَةِ هُمۡ
ع ١٥ كٰفِرُوۡنَ ﴿۷﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمۡ اَجۡرٌ غَيۡرُ مَمۡنُوۡنٍ ﴿۸﴾

چئو آئون ته هڪ بشر آهيان اوهان جهڙو (پر) مون ڏانهن وحي ڪيو ويندو آهي ته اوهان جو معبود بس هڪ ئي معبود آهي، تنهن ڪري اوهان ان ڏانهن سڌا متوجهه ٿيو ۽ انهيءَ کان بخشش گهرو ۽ ويل آهي مشرڪن لاءِ جيڪي زڪوات نٿا ڏين ۽ اهي آخرت جا منڪر آهن. بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ اڻ کٽ اجر آهي. ٦-٨

حق جي دعوت جڏهن بہ بلند ٿيندي آهي تہ ”بشر“ جي سطح تي ٿيندي آهي. ماڻهن کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ هڪ بشر الله جي زبان ۾ ڪلام ڪري. ان ڪري اُهي ان جا منڪر بڻجي ويندا آهن. پر الله جي سنت اها ئي آهي تہ هو بشر جي زبان ۾ پنهنجي ڳالهہ جو اعلان ڪرائي. جيڪو ماڻهو داعي جي بشريت کان گذري ڪري سندس ڪلام الاهي کي نہ سڃاڻي سگهي، اُهو موجوده امتحان جي دنيا ۾ هدايت کان محروم رهندو.

آخرت کي مڃڻ اُهو ئي معتبر آهي جنهن سان گڏ ڪامل توحيد ۽ الله جي راهہ ۾ مال خرچ ڪرڻ هجي. جنهن ماڻهو کي الله حقيقي طور تي ملي وڃي، اُهو ڪنهن ٻئي عظمت ۾ اٽڪيل نہ ٿو رهي سگهي. اهڙي طرح جنهن ماڻهو کي الله حقيقي طور تي ملي وڃي، اُهو پنهنجي مال کي الله کان بچائي نہ ٿو رکي سگهي.

فاستقيمو اليہ جو مطلب آهي اخلصو الہ العبادة يعني توهان جي سڄي توجهہ الله ڏانهن هجي، توهان جي دعا ۾ عبادت جو مرڪز صرف هڪ الله هجي. توهان جي سوچ جو ۽ فڪر جو رخ الله ڏانهن ٿي وڃي. اهي ئي اُهي ماڻهو آهن جن کي الله جا ابدي انعام ڏنا ويندا.

قُلْ اَىِٕنَّكُمْ لَتَكْفُرُوْنَ بِالَّذِىْ خَلَقَ الْاَرْضَ فِىْ يَوْمَيْنِ وَ تَجْعَلُوْنَ لَهٗۤ اَنْدَادًا ؕ ذٰلِكَ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ۚ﴿۹﴾ وَ جَعَلَ فِيْهَا رَوَاسِىَ مِنْ فَوْقِهَا وَ بٰرَكَ فِيْهَا وَ قَدَّرَ فِيْهَاۤ اَقْوَاتَهَا فِىْۤ اَرْبَعَةِ اَيَّامٍ ؕ سَوَآءً لِّلسَّآىِٕلِيْنَ ﴿۱۰﴾ ثُمَّ اسْتَوٰۤى اِلَى السَّمَآءِ وَ هِىَ دُخَانٌ فَقَالَ لَهَا وَ لِلْاَرْضِ ائْتِيَا طَوْعًا اَوْ كَرْهًا ؕ قَالَتَاۤ اَتَيْنَا طَآىِٕعِيْنَ ﴿۱۱﴾ فَقَضٰىهُنَّ سَبْعَ سَمٰوَاتٍ فِىْ يَوْمَيْنِ وَ اَوْحٰى فِىْ كُلِّ سَمَآءٍ اَمْرَهَا ؕ وَ زَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنْيَا بِمَصَابِيْحَ ۖۗ وَ حِفْظًا ؕ ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ ﴿۱۲﴾

چئو تہ ڇا توهان اُن (الله) جو انڪار ڪندا آهيو جنهن زمين کي ٻن ڏينهن ۾ بڻايو ۽ توهان ان لاءِ شريڪ بڻائيندا آهيو. اُهو (الله) تہ جهانن جو رب آهي ۽ اُن زمين ۾ مٿس جبل بڻايا ۽ اُن (زمين) ۾ فائدي جون شيون رکيون ۽ چئن ڏينهن ۾ منجهس اُن (جي رهاڪن لاءِ) غذائون مقرر ڪيائين. پڇندڙن لاءِ برابر (ڪولي بيان ڪيو ويو) آهي. پوءِ هو آسمان ڏانهن متوجهہ ٿيو ۽ اُهو دونهون هو. پوءِ ان آسمان ۽ زمين کي چيو توهان ٻئي خوشي سان اچو يا ناخوشي سان. ٻنهي چيو تہ خوشي سان حاضر آهيون. پوءِ ان ٻن ڏينهن ۾ انهن کي ست آسمان بڻايائين ۽ هر آسمان ۾ ان جو حڪم موڪليائين ۽ اسان دنيا جي آسمان کي (تارن) ڏيئن سان سينگاريو ۽ ان کي محفوظ ڪيو سون. اها غالب ۽ ڄاڻندڙ جي رٿابندي آهي. ٩-١٢

---

ڪائنات جو مطالعو ٻڌائي ٿو تہ ان جي تخليق درجہ بہ درجہ ڪيترن ئي دورن ۾ ٿي آهي. اهو آهستي آهستي تخليق جو عمل ٻڌائي ٿو تہ اها هڪ منصوبہ بند تخليق آهي ۽ جڏهن ڪائنات جي تخليق هڪ منصوبي تحت ٿي آهي تہ يقيني ڳالهہ آهي تہ ان منصوبي کي ڪو ٺاهڻ وارو هجي، جنهن پنهنجي مقرر منصوبي تحت ڪائنات کي پنهنجي ارادي سان بڻايو هجي.

اهڙي طرح زمين تي ڪيترن ئي هنڌن تي جبل آهن جيڪي زمين جي توازن کي برقرار رکندا آهن هن دنيا ۾ ڪروڙن قسمن جاندار آهن ۽ هر هڪ کي الڳ الڳ رزق گهربل آهي پر هر هڪ جو رزق ان جي ضرورت مطابق اهڙي طرح موجود آهي جو جنهن کي جيڪا روزي گهربل آهي هو ان کي پنهنجي ويجهو ئي لهي ٿو اهڙي طرح ڪائنات جو مطالعو ٻڌائي ٿو تہ سڀئي شيون شروع ۾ ڳڪڙيل ايٽمن جي شڪل ۾ هيون، پوءِ اُهي ڳڏجي ڪري الڳ الڳ شين جي شڪل اختيار ڪري ويون، اهڙي طرح ڪائنات جو مطالعو اِهو بہ ٻڌائي ٿو تہ وسيع ڪائنات جون سڀئي شيون هڪ ئي فطرت جي قانون ۾ نهايت محڪم طور جڪڙيل آهن.

اهي مشاهدا واضح طور تي ثابت ڪندا آهن تہ ڪائنات جو خالق عليم ۽ خبير آهي. اهو قوت ۽ غلبي وارو آهي. پوءِ ٻيو ڪير آهي جنهن کي انسان پنهنجو معبود قرار ڏي.

فَاِنۡ اَعۡرَضُوۡا فَقُلۡ اَنۡذَرۡتُكُمۡ صٰعِقَةً مِّثۡلَ صٰعِقَةِ عَادٍ وَّ ثَمُوۡدَ ﴿۱۳﴾ اِذۡ جَآءَتۡهُمُ الرُّسُلُ مِنۡۢ بَيۡنِ اَيۡدِيۡهِمۡ وَ مِنۡ خَلۡفِهِمۡ اَلَّا تَعۡبُدُوۡۤا اِلَّا اللّٰهَ ؕ قَالُوۡا لَوۡ شَآءَ رَبُّنَا لَاَنۡزَلَ مَلٰٓئِكَةً فَاِنَّا بِمَاۤ اُرۡسِلۡتُمۡ بِهٖ كٰفِرُوۡنَ ﴿۱۴﴾

پوءِ جيڪڏهن اُهي منهن موڙين تہ چئو آئون اوهان کي اهڙي عذاب کان ڊيڄاريان ٿو جهڙو عذاب عاد ۽ ثمود تي آيو. جڏهن پيغمبر سندن اڳيان ۽ سندن پويان انهن وٽ آيا تہ الله کان سواءِ اوهان ڪنهن جي عبادت نہ ڪريو، انهن چيو تہ جيڪڏهن اسان جو رب چاهي ها تہ هو ملائڪن کي موڪلي ها. تنهن ڪري اسان اُن شيءِ کي مڃڻ وارا نہ آهيون جنهن سان اوهين موڪليا ويا آهيو. ١٣-١٤

---

حق جي دعوت جو انڪار الله وٽ سڀني کان وڏو جرم آهي. اِهو انڪار جيڪڏهن پيغمبر جي دعوت جي مقابلي ۾ هجي تہ ان جي سزا هن ئي موجوده دنيا ۾ شروع ٿي ويندي آهي. جهڙي طرح عاد ۽ ثمود جي قومن سان ٿيو ۽ جيڪڏهن عام داعين جو معاملو هجي تہ ان جي انڪار جو انجام آخرت ۾ سامهون ايندو.

حق جي دعوت جو اصل نقطو هميشہ اهو رهيو آهي تہ انسان الله جو عبادت گذار بڻجي. هو غيرالله کي ڇڏي صرف هڪ الله سان پنهنجي خوف ۽ محبت وارا جذبا وابستہ ڪري. پر هر دور ۾ ايئن ٿيو جو پيغمبر جي شخصيت ان جي دور جي ماڻهن کي ان کان گهٽ نظر آئي جو الله ان کي پنهنجو پيغام پهچائڻ لاءِ چونڊي. ان ڪري انهن پيغمبر کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

فَاَمَّا عَادٌ فَاسۡتَكۡبَرُوۡا فِى الۡاَرۡضِ بِغَيۡرِ الۡحَـقِّ وَ قَالُوۡا مَنۡ اَشَدُّ مِنَّا قُوَّةً ؕ اَوَ لَمۡ يَرَوۡا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِىۡ خَلَقَهُمۡ هُوَ اَشَدُّ مِنۡهُمۡ قُوَّةً ؕ وَ كَانُوۡا بِاٰيٰتِنَا يَجۡحَدُوۡنَ ﴿۱۵﴾ فَاَرۡسَلۡنَا عَلَيۡهِمۡ رِيۡحًا صَرۡصَرًا فِىۡۤ اَيَّامٍ نَّحِسَاتٍ لِّنُذِيۡقَهُمۡ عَذَابَ الۡخِزۡىِ فِى الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا ؕ وَ لَعَذَابُ الۡاٰخِرَةِ اَخۡزٰى وَ هُمۡ لَا يُنۡصَرُوۡنَ ﴿۱۶﴾ وَ اَمَّا ثَمُوۡدُ فَهَدَيۡنٰهُمۡ فَاسۡتَحَبُّوا

الۡعَمٰی عَلَی الۡهُدٰی فَاَخَذَتۡهُمۡ صٰعِقَةُ الۡعَذَابِ الۡهُوۡنِ بِمَا کَانُوۡا یَکۡسِبُوۡنَ ﴿۱۷﴾ وَ نَجَّیۡنَا
الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا وَ کَانُوۡا یَتَّقُوۡنَ ﴿۱۸﴾

پوءِ عاد وارن زمين ۾ ناحق وڏائي ڪئي ۽ انهن چيو ته سگهه ۾ اسان کان وڌيڪ ڪير آهي. ڇا انهن نه ڏٺو ته اهو الله جنهن کين پيدا ڪيو آهي، اهو سگهه ۾ ڪائن وڌيڪ آهي ۽ اُهي اسان جي نشانين جو انڪار ڪندا رهيا. تنهن ڪري اسان ڪن منحوس ڏينهن ۾ مٿن سخت واءُ موڪليو ته کين دنيا جي زندگي ۾ خواري وارو عذاب چکايون ۽ آخرت جو عذاب ته وڌيڪ رسوا ڪندڙ آهي ۽ انهن کي ڪا مدد نه پهچندي ۽ جيڪي ثمود هئا، انهن کي اسان هدايت جو رستو ڏيکاريو. پر انهن هدايت جي بدران انڌائپ کي پسند ڪيو. پوءِ کين ذلت جي عذاب جي ڪڙڪي اچي پڪڙيو. انهيءَ ڪري جو (بڇڙا ڪم) ڪمائيندا هئا ۽ اسان انهن ماڻهن کي بچائي ورتو جن ايمان آندو ۽ ڊڄڻ وارا هئا. ١٥-١٨

---

ماڻهو هڪ اهڙي دنيا ۾ رهي ٿو جتي زمين ۽ آسمان جون عظمتون ان جي وڏائي جي نفي ڪري رهيون آهن. جتي موت جو واقعو هر روز انسان کي حقير ۽ ڪمزور ثابت ڪري رهيو آهي. ان جي باوجود ماڻهو وڏائي جي دعويٰ ڪري ٿو ۽ ان گمان ۾ رهي ٿو ته وڏو زور آور آهي.

الله بار بار حقيقت جو اعلان ڪرائي ٿو، هو بار بار انسان جي وڏائي جي دعويٰ کي باطل ثابت ڪري رهيو آهي. ڪوبه ان وقت تائين نصيحت نه ٿو وٺي، جيستائين ڪيس مٿائي نه ڇڏجي. عاد ۽ ثمود ۽ ٻين قومن جا ڪنڊر انهيءَ جو مثال آهن. انهن جن ڏينهن کي پاڻ لاءِ مبارڪ سمجهيو هو، اُهي ئي ڏينهن الله جي حڪم سان سندن لاءِ منحوس ڏينهن بڻجي ويا.

وَ یَوۡمَ یُحۡشَرُ اَعۡدَآءُ اللّٰهِ اِلَی النَّارِ فَهُمۡ یُوۡزَعُوۡنَ ﴿۱۹﴾ حَتّٰۤی اِذَا مَا جَآءُوۡهَا شَهِدَ عَلَیۡهِمۡ
سَمۡعُهُمۡ وَ اَبۡصَارُهُمۡ وَ جُلُوۡدُهُمۡ بِمَا کَانُوۡا یَعۡمَلُوۡنَ ﴿۲۰﴾ وَ قَالُوۡا لِجُلُوۡدِهِمۡ لِمَ شَهِدۡتُّمۡ
عَلَیۡنَا ؕ قَالُوۡۤا اَنۡطَقَنَا اللّٰهُ الَّذِیۡۤ اَنۡطَقَ کُلَّ شَیۡءٍ وَّ هُوَ خَلَقَکُمۡ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّ اِلَیۡهِ
تُرۡجَعُوۡنَ ﴿۲۱﴾ وَ مَا کُنۡتُمۡ تَسۡتَتِرُوۡنَ اَنۡ یَّشۡهَدَ عَلَیۡکُمۡ سَمۡعُکُمۡ وَ لَاۤ اَبۡصَارُکُمۡ وَ لَا
جُلُوۡدُکُمۡ وَ لٰکِنۡ ظَنَنۡتُمۡ اَنَّ اللّٰهَ لَا یَعۡلَمُ کَثِیۡرًا مِّمَّا تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۲۲﴾ وَ ذٰلِکُمۡ ظَنُّکُمُ
الَّذِیۡ ظَنَنۡتُمۡ بِرَبِّکُمۡ اَرۡدٰىکُمۡ فَاَصۡبَحۡتُمۡ مِّنَ الۡخٰسِرِیۡنَ ﴿۲۳﴾ فَاِنۡ یَّصۡبِرُوۡا فَالنَّارُ
مَثۡوًی لَّهُمۡ ۚ وَ اِنۡ یَّسۡتَعۡتِبُوۡا فَمَا هُمۡ مِّنَ الۡمُعۡتَبِیۡنَ ﴿۲۴﴾

۽ جنهن ڏينهن الله جا دشمن باهه ڏانهن گڏ ڪيا ويندا، پوءِ اُهي جدا جدا ڪيا ويندا، ايستائين جڏهن اُهي (دوزخ) ويجهو ايندا. سندن ڪن ۽ سندن اکيون ۽ سندن کلون (سندن عملن بابت) شاهدي ڏينديون ۽ هو پنهنجن کلن کي چوندا ته اسان جي (خلاف) شاهدي ڇو ڏني. اُهي چونديون ته اسان کي انهيءَ الله ڳالهارايو جنهن هر شيءِ کي ڳالهاريو ۽ انهيءَ اوهان کي پهريون ڀيرو پيدا ڪيو ۽ ان ڏانهن ئي اوهان کي موٽايو ويو آهي ۽ اوهان پردو نه ڪندا هئا ته اوهان جا ڪن، اوهان جون اکيون ۽ اوهان جون کلون اوهان جي خلاف شاهدي ڏينديون. پر اوهان ڀانئيو هو ته جيڪي ڪندا هئو تنهن مان گهڻو الله نه ڄاڻندو آهي ۽ اوهان جي ان (غلط) گمان جيڪو اوهان

پنهنجي رب بابت ڪيو، ان اوهان کي برباد ڪيو. تنهن ڪري اوهان خساري وارن مان ٿي ويا. پوءِ جيڪڏهن
اهي صبر ڪن ته (به) باهه سندن جاءِ آهي ۽ جيڪڏهن معافي گهرندا ته ڪين معافي نه ملندي. ١٩-٢٤

---

قرآن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته قيامت جي ڏينهن انسان جي کل ۽ ان جا عضوا سندس عملن جي شاهدي ڏيندا. موجوده زماني ۾ کل جي زبان (Skin Speech) جي نظري ان کي عملي طور ثابت ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي اهو معلوم ٿيو آهي ته انسان جو ڳالهائڻ ان جي جسم جي کل تي نقش ٿيندو ٿو رهي ۽ اُن کي پيهر اهڙي طرح ٻڌي سگهجي ٿو، جهڙي طرح مشيني طور تي ريڪارڊ ڪيل آواز کي پيهر ٻڌبو آهي.

الله چاڪاڻ ته بظاهر ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي، ان ڪري انسان سمجهي ٿو ته الله ان کي ڏسي نه پيو. اها ئي غلط فهمي ماڻهو ۾ سرڪشي پيدا ڪري ٿي. جيڪڏهن ماڻهو ڄاڻي وٺي ته الله هر وقت ان کي ڏسي رهيو آهي ته ان جو رويو بلڪل بدلجي وڃي.

آخرت ۾ الله جي سامهون اچڻ ڪان پوءِ ماڻهو اطاعت جو اظهار ڪندو، پر اُهو ان لاءِ بي فائدي ٿيندو. ڇاڪاڻ ته اطاعت حالت غيب ۾ قابل لحاظ آهي نه وري حالت شهود ۾.

وَ قَيَّضۡنَا لَهُمۡ قُرَنَآءَ فَزَيَّنُوۡا لَهُمۡ مَّا بَيۡنَ اَيۡدِيۡهِمۡ وَ مَا خَلۡفَهُمۡ وَ حَقَّ عَلَيۡهِمُ الۡقَوۡلُ
فِيۡۤ اُمَمٍ قَدۡ خَلَتۡ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ مِّنَ الۡجِنِّ وَ الۡاِنۡسِ ۚ اِنَّهُمۡ كَانُوۡا خٰسِرِيۡنَ ﴿۲۵﴾

۽ اسان انهن لاءِ (شيطان) سنگتي مقرر ڪيا ته انهن جيڪي سندن اڳيان ۽ جيڪي سندن پويان آهي تنهن کي انهن لاءِ سينگاريو ۽ انهن تي اها عذاب جي ڳالهه ثابت ٿي، جيڪا جنن ۽ انسانن جي انهن ٽولين تي پوري ٿي. جيڪي ڪائن اڳ گذري چڪا هئا. بيشڪ اهي خساري وارا هئا. ٢٥

---

موجوده دنيا ۾ هڪ پاسي خدا جا داعي آهن، جيڪي انسان کي حق جي نصيحت ڪندا آهن. ٻئي پاس استحصال ڪرڻ وارا اڳواڻ آهن، جيڪي خوشنما ڳالهيون ڪري انسان کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪندا آهن. جيڪي ماڻهو الله جي نصيحت تي توجهه نٿا ڏين، اهي اُنهن اڳواڻن جي ڳالهين ۾ اچي غلط رستن تي هلي پوندا آهن.

اهي استحصال ڪرڻ وارا اڳواڻ ماڻهن کي سندن ماضي جا حسين خواب ياد ڏياريندا آهن ۽ انهن جي سامهون مستقبل جو خوبصورت نقشو پيش ڪندا آهن، جيڪي ماڻهو اهڙن ليڊرن جي ڪوڙين ڳالهين ڪان دوکو کائي انهن جي پويان ڊوڙي پوندا آهن. سندن انجام ان ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه ٿيندو آهي جو اهي هميشه لاءِ تباهه ٿي وڃن.

وَ قَالَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لَا تَسۡمَعُوۡا لِهٰذَا الۡقُرۡاٰنِ وَ الۡغَوۡا فِيۡهِ لَعَلَّكُمۡ تَغۡلِبُوۡنَ ﴿۲۶﴾
فَلَنُذِيۡقَنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا عَذَابًا شَدِيۡدًا ۙ وَّ لَنَجۡزِيَنَّهُمۡ اَسۡوَاَ الَّذِيۡ كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿۲۷﴾
ذٰلِكَ جَزَآءُ اَعۡدَآءِ اللّٰهِ النَّارُ ۚ لَهُمۡ فِيۡهَا دَارُ الۡخُلۡدِ ؕ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوۡا بِاٰيٰتِنَا
يَجۡحَدُوۡنَ ﴿۲۸﴾

۽ ڪفر ڪرڻ وارن چيو تہ هن قرآن کي نہ ٻُڌو ۽ ان (جي پڙهڻ دوران) گوڙ ڪريو. تہ جيئن اوهان غالب ٿيو. پوءِ اسان انڪار ڪرڻ وارن کي سخت عذاب چکائينداسون ۽ جيڪو بڇڙو ڪم ڪندا هئا تنهن جو بدلو کين ڏينداسون. اهو الله جي دشمنن جو بدلو آهي. يعني باھ انهن لاءِ اُتي هميشہ جو گهر هوندو. ان ڳالھ جو بدلو جو اهي اسان جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا. ٢٦-٢٨

---

والغو فيه جي تشريح حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه عَيِّبوه جي لفظ سان ڪئي آهي. (تفسير ابن ڪثير). يعني قرآن ۽ صاحب قرآن ۾ عيب لڳايو ۽ اهڙي طرح ماڻهن کي ان کان پري ڪريو.

ڪنهن ڳالھ يا ڪنهن شخص جي باري ۾ راءِ جو اظهار ڪرڻ جا ٻہ طريقا آهن. هڪ تنقيد، ٻيو تعييب. تنقيد جو مطلب حقيقت جي بنياد تي زيربحث امر يا مسئلي جو تجزيو ڪرڻ. ان جي ابتڙ تعييب اها آهي تہ ماڻهو زيربحث مسئلي تي دليل پيش نہ ڪري، بلڪ هو رڳو ان مان عيب ڪڍي ۽ ان تي الزام لڳائي ان کي ملامت ڪري.

تنقيد جو طريقو سراسر جائز طريقو آهي. پر تعييب جو طريقو اهل ڪفر جو طريقو آهي. وڌيڪ اهو تہ تعييب جو طريقو خدا جي نشانين جو انڪار آهي، ڇاڪاڻ تہ هر سچو دليل الله جي هڪ نشاني آهي، جيڪي ماڻهو دليل جي اڳيان نہ جهڪن ۽ عيب جوئي ۽ الزام تراشي جو طريقو اختيار ڪري ان کي دٻائڻ چاهين، اهي ڄڻ الله جي نشاني جو انڪار ڪري رهيا آهن. اهڙا ماڻهو آخرت ۾ نهايت سخت سزا جا مستحق قرار ڏنا ويندا.

وَ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا رَبَّنَاۤ اَرِنَا الَّذَيْنِ اَضَلّٰنَا مِنَ الْجِنِّ وَ الْاِنْسِ نَجْعَلْهُمَا تَحْتَ
اَقْدَامِنَا لِيَكُوْنَا مِنَ الْاَسْفَلِيْنَ۝۲۹ اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا تَتَنَزَّلُ
عَلَيْهِمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَلَّا تَخَافُوْا وَ لَا تَحْزَنُوْا وَ اَبْشِرُوْا بِالْجَنَّةِ الَّتِيْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ۝۳۰
نَحْنُ اَوْلِيٰٓؤُكُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَ فِي الْاٰخِرَةِ ۚ وَ لَكُمْ فِيْهَا مَا تَشْتَهِيْۤ اَنْفُسُكُمْ وَ
لَكُمْ فِيْهَا مَا تَدَّعُوْنَ۝۳۱ نُزُلًا مِّنْ غَفُوْرٍ رَّحِيْمٍ۝۳۲ ع ١٨

۽ ڪفر ڪرڻ وارا چوندا تہ اي اسان جا رب! جنن ۽ ماڻهن مان جن اسان کي گمراھ ڪيو سي اسان کي ڏيکار تہ اسان کين پنهنجن پيرن جي هيٺان ڪري لتاڙيون، تہ جيئن اهي ذليل ٿين. جن ماڻهن چيو تہ الله اسان جو رب آهي، پوءِ اهي ثابت قدم رهيا. يقيناً انهن تي فرشتا لهندا آهن ۽ چوندا آهن توهان نہ ڊپ ڪريو ۽ نہ رنج ڪريو ۽ ان جنت جي خوشخبري سان خوش ٿيو جنهن جو توهان سان واعدو ڪيو ويو آهي. اسان دنيا جي زندگي ۾ اوهان جا ساٿي آهيون ۽ آخرت ۾ بہ، ۽ توهان لاءِ اُتي هر شيءِ آهي جنهن کي توهان جو دل گهري ۽ توهان لاءِ ان ۾ هر اها شيءِ آهي جيڪي توهان گُهرندؤ. مهماني بخشڻهار مهربان الله وٽان آهي. ٢٩-٣٢

---

انسانن ۾ ٻن قسمن جا انسان آهن. هڪ اُهي جيڪي شيطان ۽ ڪوڙن اڳواڻن کي پنهنجو رهنما بڻائيندا آهن. اهي ماڻهو دنيا ۾ هڪ ٻئي جا گهاٽا دوست هوندا آهن، پر آخرت ۾ صورتحال بلڪل ابتڙ ٿي ويندي. اتي پيروي ڪرڻ وارا ماڻهو جڏهن ڏسندا تہ انهن جي ڪوڙن رهنمائن کين رڳو جهنم ۾

پهچايو آهي ته اهي انهن کان سخت بيزار ٿي ويندا ۽ چاهيندا ته انهن کي ذليل ڪري پنهنجي دل جي تسڪين حاصل ڪن.

ٻيا انسان اهي آهن جيڪي الله جي فرشتن کي پنهنجو ساٿي بڻائين. اهڙا ماڻهو دنيا کان وٺي آخرت تائين فرشتن کي پنهنجو سنگتي لهندا آهن. فرشتا انهن جي دلين تي رباني احساسن کي لاهيندا آهن، اهي مشڪل حالتن ۾ انهن کي قلبي سڪون عطا ڪندا آهن، اهي لطيف تجربن جي ذريعي انهن کي الله جون بشارتون ٻڌائيندا آهن. پوءِ اُهي ئي فرشتا آخرت ۾ انهن جو استقبال ڪري ڪين جنت جي باغن ۾ داخل ڪندا.

وَ مَنْ اَحْسَنُ قَوْلًا مِّمَّنْ دَعَآ اِلَى اللّٰهِ وَ عَمِلَ صَالِحًا وَّ قَالَ اِنَّنِيْ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ۝۳۳ وَ لَا تَسْتَوِي الْحَسَنَةُ وَ لَا السَّيِّئَةُ ؕ اِدْفَعْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ فَاِذَا الَّذِيْ بَيْنَكَ وَ بَيْنَهٗ عَدَاوَةٌ كَاَنَّهٗ وَلِيٌّ حَمِيْمٌ۝۳۴ وَ مَا يُلَقّٰهَآ اِلَّا الَّذِيْنَ صَبَرُوْا ۚ وَ مَا يُلَقّٰهَآ اِلَّا ذُوْ حَظٍّ عَظِيْمٍ۝۳۵ وَ اِمَّا يَنْزَغَنَّكَ مِنَ الشَّيْطٰنِ نَزْغٌ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ۝۳۶

۽ ان کان وڌيڪ بهتر ڳالهه ڪنهن جي ٿي سگهي ٿي جنهن الله ڏانهن سڏيو ۽ نيڪ عمل ڪيا ۽ چوي ته آئون فرمانبردارن مان آهيان ۽ ڀلائي ۽ برائي ٻئي برابر نه آهن. جواب ۾ اهو چئو جيڪو ان کان بهتر هجي. پوءِ تون ڏسندين ته تو ۾ ۽ جنهن ۾ دشمني هئي، اهو ايئن ٿي ويو ڄڻ ڪو دوست مائٽي وارو ۽ اها ڳالهه ان ئي کي حاصل ٿيندي آهي، جيڪي صبر ڪرڻ وارا آهن ۽ اها ڳالهه ان ئي کي حاصل ٿيندي آهي جيڪي وڏي نصيب وارو آهي ۽ جيڪڏهن شيطان تنهنجي دل ۾ ڪو وسوسو وجهي ته الله جي پناهه گهر. بيشڪ هو ٻڌڻ وارو، ڄاڻڻ وارو آهي. ٣٣-٣٦

---

قرآن جي دعوت الله ڏانهن سڏڻ جي دعوت آهي. انسان کي سندس رب سان جوڙڻ، انسان کي الله جي ياد ۾ جيئڻ وارو بڻائڻ. انسان جي اندر اهو شعور پيدا ڪرڻ ته اُهو هڪ الله کي پنهنجي توجهه جو مرڪز بڻائي. اهو ئي قرآن جي دعوت جو اصل نشانو آهي ۽ بيشڪ ان سڏ کان بهتر ڪو سڏ نه آهي.

پر الله جو داعي صرف اهو ماڻهو بڻجي ٿو جيڪو پنهنجي دعوت ۾ ان حدتائين سنجيده هجي جو هو جيڪو ڪجهه ٻين کان ميرائڻ چاهي ٿو، ان کي هو پاڻ سيني کان اڳ ۾ مڃي چڪو هجي. هو ٻين کي جيڪو ڪجهه ڪرڻ لاءِ چئي رهيو آهي. اهو پاڻ سيني کان اڳ ۾ ان کي ڪرڻ وارو بڻجي وڃي.

داعي جو سيني کان وڏو هٿيار اهو آهي ته هو ماڻهن سان هڪ طرفو حسن سلوڪ ڪري. ٻيا ماڻهو برائي ڪن تڏهن به هو انهن سان ڀلائي ڪري. هو اشتعال، غصي ۽ ڪاوڙ جي مقابلي ۾ نرمي ۽ ايذاءُ جي مقابلي ۾ صبر جو طريقو اختيار ڪري. هن هڪ طرفي حسن سلوڪ ۾ الله تعاليٰ زبردست طاقت رکي آهي. الله جو داعي الله جي نهيل ان فطرت کي ڄاڻي ٿو ۽ ان کي آخري حدتائين استعمال ڪري ٿو، چاهي ان لاءِ ان کي پنهنجن جذبن کي متاٿڻو پوي. چاهي ان جي خاطر پنهنجي اندر پيدا ٿيڻ واري ردعمل کي ذبح ڪرڻو پوي.

جڏهن بہ داعي کي اهڙي قسم جو خيال اچي تہ فلاڻي ڳالهہ جو جواب ڏيڻ ضروري آهي. فلاڻي ظلم خلاف ضرور ڪارروائي ڪرڻ گهرجي نہ تہ دشمن بي خوف ٿي وڌيڪ زيادتيون ڪندو تہ سمجهي وڃڻ گهرجي تہ اهو هڪ شيطاني وسوسو آهي. مؤمن ۾ داعي جو فرض آهي تہ هو اهڙن خيالن کان الله جي پناهہ گهري، نہ وري هو انهن خيالن پويان ڊوڙڻ شروع ڪري.

وَ مِنۡ اٰيٰتِهِ الَّيۡلُ وَ النَّهَارُ وَ الشَّمۡسُ وَ الۡقَمَرُ ؕ لَا تَسۡجُدُوۡا لِلشَّمۡسِ وَ لَا لِلۡقَمَرِ وَ اسۡجُدُوۡا لِلّٰهِ الَّذِيۡ خَلَقَهُنَّ اِنۡ كُنۡتُمۡ اِيَّاهُ تَعۡبُدُوۡنَ ﴿۳۷﴾ فَاِنِ اسۡتَكۡبَرُوۡا فَالَّذِيۡنَ عِنۡدَ رَبِّكَ يُسَبِّحُوۡنَ لَهٗ بِالَّيۡلِ وَ النَّهَارِ وَ هُمۡ لَا يَسۡـَٔمُوۡنَ ﴿۳۸﴾ السجدة

۽ ان جي نشانين مان رات ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ آهن. توهان سج ۽ چنڊ کي سجدو نہ ڪريو، بلڪ ان الله کي سجدو ڪريو جنهن انهن سڀني کي پيدا ڪيو آهي. جيڪڏهن توهان ان جي ئي عبادت ڪرڻ وارا آهيو. پوءِ جيڪڏهن وڏائي ڪن تہ جيڪي تنهنجي رب وٽ آهن سي رات ۽ ڏينهن سندس تسبيح ڪندا آهن ۽ اهي ٿڪبا نہ آهن. ٣٧-٣٨

---

انسان جي سڀني کان وڏي گمراهي ان جي ظاهر پرستي آهي. قديم زماني جي انسان کي سج ۽ چنڊ ۽ ستارا سڀني کان مٿي نظر آيا. ان ڪري هن انهن نشانين کي الله سمجهي ورتو ۽ انهن جي پوڄا شروع ڪري ڇڏي. موجوده زماني ۾ مادي تهذيب جي چمڪ ماڻهن کي نمايان ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي. ان ڪري اڄ مادي تهذيب کي اهو مقام ڏنو ويو آهي، جيڪو قديم زماني ۾ سج ۽ چنڊ کي حاصل هو. حالانڪ چاهي سج ۽ چنڊ هجن يا ٻيون شيون، سڀئي الله جي مخلوق آهن. انسان کي گهرجي تہ هو خالق جو پرستار بڻجي نہ وري مخلوق جو.

تڪبر ڪرڻ وارن جو تڪبر دعوت جي مقابلي ۾ نہ هوندو آهي، بلڪ هميشہ داعي جي مقابلي ۾ هوندو آهي. وقت جي وڏن کي بظاهر داعي پاڻ کان ننڍو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ان ڪري هو ان کي ننڍو سمجهي وٺندا آهن ۽ ان سان گڏ ان جي پيش ڪيل پيغام کي بہ.

وَ مِنۡ اٰيٰتِهٖۤ اَنَّكَ تَرَى الۡاَرۡضَ خَاشِعَةً فَاِذَاۤ اَنۡزَلۡنَا عَلَيۡهَا الۡمَآءَ اهۡتَزَّتۡ وَ رَبَتۡ ؕ اِنَّ الَّذِيۡۤ اَحۡيَاهَا لَمُحۡىِ الۡمَوۡتٰى ؕ اِنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ﴿۳۹﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ يُلۡحِدُوۡنَ فِيۡۤ اٰيٰتِنَا لَا يَخۡفَوۡنَ عَلَيۡنَا ؕ اَفَمَنۡ يُّلۡقٰى فِى النَّارِ خَيۡرٌ اَمۡ مَّنۡ يَّاۡتِيۡۤ اٰمِنًا يَّوۡمَ الۡقِيٰمَةِ ؕ اِعۡمَلُوۡا مَا شِئۡتُمۡ ۙ اِنَّهٗ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ بَصِيۡرٌ ﴿۴۰﴾

۽ ان جي نشانين مان هي بہ آهي تہ توهان زمين کي وساڻل (غير آباد) ڏسندا آهيو، پوءِ جڏهن اسان ان تي پاڻي وسائيندا آهيون تہ هو سرسبز ۽ ايامي پوندي آهي. بيشڪ جنهن انهيءَ کي جيئاريو آهي، اُهو مئلن کي بہ جيئارڻ وارو آهي، بيشڪ هو هر شيءِ تي قادر آهي، جيڪي ماڻهو اسان جي آيتن ۾ ڏنگائي ڪندا آهن سي اسان کان ڳجها نہ آهن. ڇا اهو جيڪو باهہ ۾ وڌو ويندو سو ڀلو آهي يا اُهو شخص جيڪو قيامت جي ڏينهن امن سان ٿيندو، جيڪو وڻي سو ڪريو. بيشڪ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي. ٣٩-٤٠

---

سڪل زمين ۾ مينهن جو وسڻ ۽ ان سان ساوڪ ۽ پوک جو پيدا ٿيڻ هڪ اهڙي نشاني آهي جيڪا هر ماڻهو جي سامهون بار بار ايندي آهي. اها هڪ حقيقت جو مادي مثال آهي. اهڙي طرح انسان کي پڌايو وڃي ٿو ته الله ان جي خشڪ وجود کي سرسبز ۽ شاداب ڪرڻ جو وسيع انتظام ڪري رکيو آهي. زمين جي مٿي پاڻي کي پنهنجي اندر داخل ٿيڻ ڏيندي آهي، پوءِ اهو ممڪن ٿيندو آهي جو مينهن ان کي سرسبز ۽ شاداب ڪرڻ جو ذريعو بڻجي. اهڙي طرح انسان جيڪڏهن الله جي هدايت کي پنهنجي اندر لهڻ ڏي ته ان جو وجود به هدايت حاصل ڪري سرسبز ۽ شاداب ٿي وڃي.

الله جي هدايت کان فيض حاصل نه ٿيڻ جو سيني کان وڏو سبب اهو آهي ته انسان الله جي ڳالهين کان انحراف ڪري ٿو. الله جي رهنمائي جڏهن ان جي سامهون ايندي آهي ته هو ان کي سڌي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ نه ٿو وٺي، بلڪ ان ۾ ڏنگائي ڪري اُن جو انڪار ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙي طرح الله جي رهنمائي ان جي ذهن جو جز نه ٿي بڻجي ۽ پوءِ اها هدايت ۽ رهنمائي ان جي روح جي غذا نه ٿي بڻجي.

الله جي رهنمائي کي سڌي طرح قبول ڪرڻ وارن لاءِ جنت جو انعام آهي ۽ الله جي رهنمائي ۾ ڏنگائي ڪرڻ وارن لاءِ جهنم جو عذاب.

اِنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا بِالذِّكۡرِ لَمَّا جَآءَهُمۡ ۚ وَ اِنَّهٗ لَكِتٰبٌ عَزِيۡزٌ ﴿٤١﴾ لَّا يَاۡتِيۡهِ الۡبَاطِلُ مِنۡۢ بَيۡنِ يَدَيۡهِ وَ لَا مِنۡ خَلۡفِهٖ ؕ تَنۡزِيۡلٌ مِّنۡ حَكِيۡمٍ حَمِيۡدٍ ﴿٤٢﴾ مَا يُقَالُ لَكَ اِلَّا مَا قَدۡ قِيۡلَ لِلرُّسُلِ مِنۡ قَبۡلِكَ ؕ اِنَّ رَبَّكَ لَذُوۡ مَغۡفِرَةٍ وَّ ذُوۡ عِقَابٍ اَلِيۡمٍ ﴿٤٣﴾

جن ماڻهن الله جي نصيحت جو انڪار ڪيو، جڏهن اها انهن وٽ آئي ۽ بيشڪ اهو هڪ زبردست ڪتاب آهي جو نه ان جي اڳيان ۽ نه ان جي پويان باطل داخل ٿي سگهي ٿو، هي حڪمت واري ۽ ساراهيل طرفان نازل ٿيل آهي. توکي ان کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه چئبو آهي، جيڪي توکان اڳ ۾ رسولن کي چيو ويو هو. بيشڪ تنهنجو رب بخشش وارو آهي ۽ ڏکوئيندڙ سزا ڏيڻ وارو به آهي. ٤١-٤٣

---

قرآن هڪ زبردست ڪتاب آهي ۽ ان جي زبردست هئڻ جو ثبوت اهو آهي ته باطل نه ان جي اڳيان اچي سگهي ٿو ۽ نه وري پٺيان. يعني ان ۾ ڪنهن طرف کان به دخل اندازي جو ڪو امڪان نه آهي، نه براهِ راست ان ۾ ڪو بگاڙ پيدا ڪري سگهجي ٿو ۽ نه ڪنهن ٻئي واسطي سان.

اها هڪ انتهائي غيرمعمولي اڳڪٿي آهي. هن سڀني جي دنيا ۾ ان اڳڪٿي جي پوري ٿيڻ لاءِ ضروري آهي ته قرآن جي حامل هڪ طاقتور قوم مستقل طور تي موجود رهي، اڳين نبين جي تعليم سان قرآن جي عدم مطابقت ظاهر نه ٿي سگهي، ڪو به ماڻهو قرآن جو جواب لکڻ تي قادر نه هجي. علم جي ارتقا ان جي ڪنهن ڳالهه کي به غلط ثابت نه ڪري سگهي. تاريخ جا لاها چاڙها ڪڏهن به ان تي اثرانداز نه ٿين. قرآن جي زبان (عربي) هميشه هڪ زنده زبان طور باقي رهي.

قرآن جي نازل ٿيڻ کان پوءِ جي ڊگهي تاريخ ٻڌائي ٿي ته اُهي سڀئي سبب حيرت انگيز طور تي قرآن جي حق ۾ گڏ ٿي ويا آهن. انهن سڀني واقعن جو گڏ ٿيڻ ايترو غيرمعمولي آهي جو قرآن کان سواءِ ڪو به ٻيو ڪتاب نه آهي جنهن جي حق ۾ اهي سڀ ڏيڍ هزار سالن جي عرصي تائين مسلسل جمع رهيا

هجن. اهو ئي ان ڳالھ جو ڪافي دليل آهي تہ قرآن الله جو ڪتاب آهي.

قرآن جي عظمت ڪي دليل جي سطح تي لهڻ گهربل آهي، نہ وري طاقت جي سطح تي. طاقت جي سطح تي ان جي عظمت قيامت ۾ ظاهر ٿيندي، پر اهو ظاهر ٿيڻ صرف ان ڪري ٿيندو تہ جن ماڻهن دليل جي سطح تي الله جي سچائي کي نہ مڃيو هو، انهن کي ذليل ڪري الله جي سچائي کي مڃڻ تي مجبور ڪيو وڃي.

وَ لَوۡ جَعَلۡنٰهُ قُرۡاٰنًا اَعۡجَمِيًّا لَّقَالُوۡا لَوۡ لَا فُصِّلَتۡ اٰيٰتُهٗ ؕ ءَاَعۡجَمِيٌّ وَّ عَرَبِيٌّ ؕ قُلۡ هُوَ
لِلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا هُدًى وَّ شِفَآءٌ ؕ وَ الَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ فِيۡۤ اٰذَانِهِمۡ وَقۡرٌ وَّ هُوَ عَلَيۡهِمۡ عَمًى ؕ
ع ١٢ ١٩ اُولٰٓئِكَ يُنَادَوۡنَ مِنۡ مَّكَانٍۭ بَعِيۡدٍ ﴿٤٤﴾

۽ جيڪڏهن اسان ان کي عجمي قرآن بڻايون ها تہ اهي چون ها تہ سندس آيتون ڇو نہ کولي بيان ڪيون ويون آهن. ڇا عجمي ڪتاب ۽ ماڻهو عربي، چئو تہ اُهو ايمان آڻڻ وارن لاءِ هدايت ۽ شفا آهي ۽ جيڪي ايمان نٿا آڻن تن جي ڪنن ۾ ٻوڙائپ آهي ۽ اُهو انهن جي حق ۾ (قرآن) انڌائپ آهي. اهي ماڻهو ڄڻ ڏورانهين هنڌ کان سڏيا ويندا آهن. ٤٤

---

قرآن عربي زبان ۾ نازل ٿيو تہ مخالفن چيو تہ هي تہ محمد ﷺ جي پنهنجي مادري ٻولي آهي. عربي ۾ ڪو ڪتاب ٺاهي پيش ڪرڻ ان لاءِ ڪهڙو مشڪل ڪم آهي. جيڪڏهن هو واقعي پيغمبر هجي ها تہ الله جي مدد سان هو اوچتو ڪنهن اجنبي زبان ۾ ڪلام ڪرڻ لڳي ها.

اهڙي قسم جي ڳالھ هميشہ غيرسنجيده ماڻهو ڪندا آهن ۽ جيڪي ماڻهو غيرسنجيده هجن، انهن جي زبان ڪڏهن بہ بند نٿي ڪري سگهجي. مثال طور جيڪڏهن ايئن ٿئي جو پيغمبر اچي عرب جي ماڻهن سان يوناني يا فارسي زبان ۾ ڪلام ڪرڻ لڳي تہ ان وقت ماڻهن کي چوڻ لاءِ هي لفظ ملي ويندا تہ ڪهڙو نہ عجيب پيغمبر آهي. اُن جو چوڻ آهي تہ هو ماڻهن جي هدايت لاءِ آيو آهي، پر هو اهڙي زبان ۾ ڳالهائي ٿو جنهن کي ان جا مخاطب سمجهي نہ سگهن.

حقيقت اها آهي تہ حق کي صرف اُهي ماڻهو قبول ڪندا آهن جيڪي حق جي معاملي ۾ سنجيده هجن. جيڪي ماڻهو حق جي معاملي ۾ سنجيده نہ هجن، اُهي واضح ڳالھ کي بہ سمجهي نٿا سگهن. سندن مثال ايئن آهي جيئن ڪنهن کي تمام پري کان سڏيو وڃي، اهڙو ماڻهو آواز تہ ٻڌندو، پر هو اصل ڳالھ کي سمجهڻ کان محروم رهندو.

وَ لَقَدۡ اٰتَيۡنَا مُوۡسَى الۡكِتٰبَ فَاخۡتُلِفَ فِيۡهِ ؕ وَ لَوۡ لَا كَلِمَةٌ سَبَقَتۡ مِنۡ رَّبِّكَ لَقُضِيَ
بَيۡنَهُمۡ ؕ وَ اِنَّهُمۡ لَفِيۡ شَكٍّ مِّنۡهُ مُرِيۡبٍ ﴿٤٥﴾ مَنۡ عَمِلَ صَالِحًا فَلِنَفۡسِهٖ وَ مَنۡ اَسَآءَ
فَعَلَيۡهَا ؕ وَ مَا رَبُّكَ بِظَلَّامٍ لِّلۡعَبِيۡدِ ﴿٤٦﴾

بيشڪ اسان موسيٰ کي ڪتاب ڏنو، پوءِ ان ۾ اختلاف ڪيو ويو ۽ جيڪڏهن تنهنجي رب طرفان هڪ ڳالھ پهريائين طي ٿيل نہ هجي ها تہ سندن وچ ۾ فيصلو ڪيو وڃي ها، ۽ اُهي ان (قرآن) بابت اهڙي پريشان ڪندڙ

---

شڪ ۾ پيل آهن. جيڪو چڱا ڪم ڪندو سو پاڻ لاءِ ڪندو ۽ جيڪو بُرا ڪم ڪندو تنهن جو وبال مٿس ئي آهي ۽ تنهنجو رب ٻانهن تي ظلم ڪرڻ وارو نہ آهي. ٤٥-٤٦

---

اڳين پيغمبرن جي ذريعي جڏهن سچائي کي واضح ڪيو ويو تہ ڪجھ ماڻهن ان کي مڃيو ۽ ڪجھ ماڻهن نہ مڃيو. اهو ئي معاملو ان وقت بہ پيش آيو جڏهن پيغمبر محمد ﷺ جي رسالت قائم ٿي.

الله طرفان آيل سچائي سان اِهو اختلافي معاملو انسان ڇو ڪري ٿو؟ ان جو سبب موجوده امتحان جي حالت آهي. موجوده امتحان جي دنيا ۾ سچائي جڏهن بہ ظاهر ٿيندي آهي تہ ان سان گڏ هڪ حجاب يا پردو بہ لڳل هوندو آهي. ماڻهو ان پردي ۾ اٽڪي رهجي ٿا وڃن جنهن پردي کي مٿاڇٽو هو. ان کي اُهي پاڻ لاءِ شڪ شبهي جو سبب بڻائي ٿا وٺن.

پر اهو شڪ قيامت ۾ ڪنهن جي لاءِ عذر نہ ٿو بڻجي سگهي، ڇاڪاڻ تہ هي صرف ان ڳالھ جو ثبوت آهي جو انسان حق جي معاملي ۾ سنجيده نہ هو. انسان پنهنجي دنيا جي مفاد لاءِ پوري طرح سنجيده هوندو آهي، ان ڪري هو سيني پردن کي هٽائي دنياوي معاملي جي حقيقت تائين پهچي ويندو آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن هو پنهنجي آخرت جي مفاد جي باري ۾ سنجيده ٿي وڃي تہ هو شڪ جي سيني پردن کي هٽائي حقيقت کي ان جي بي نقاب صورت ۾ ڏسي وٺي.

الجزء الخامس والعشرون (٢٥)

اِلَيْهِ يُرَدُّ عِلْمُ السَّاعَةِ ؕ وَ مَا تَخْرُجُ مِنْ ثَمَرٰتٍ مِّنْ اَكْمَامِهَا وَ مَا تَحْمِلُ مِنْ اُنْثٰى وَ
لَا تَضَعُ اِلَّا بِعِلْمِهٖ ؕ وَ يَوْمَ يُنَادِيْهِمْ اَيْنَ شُرَكَآءِيْ ۙ قَالُوْٓا اٰذَنّٰكَ ۙ مَا مِنَّا مِنْ شَهِيْدٍ ﴿٤٧﴾
وَ ضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَدْعُوْنَ مِنْ قَبْلُ وَ ظَنُّوْا مَا لَهُمْ مِّنْ مَّحِيْصٍ ﴿٤٨﴾

قيامت جي خبر الله ئي جي حوالي آهي ۽ ڪي ميوا پنهنجن ڳيين مان نہ نڪرندا آهن ۽ نڪي مادي پيٽ سان ٿيندي آهي ۽ نڪي ڄڻيندي آهي، پر اهو سڀ سندس علم سان ٿيندو آهي ۽ جنهن ڏينهن الله کين سڏيندو تہ منهنجا شريڪ ڪٿي آهن تہ اهي چوندا تہ توکي خبر ڏني سون تہ اسان مان ڪو بہ ان جو اقرار ڪرڻ وارو نہ آهي ۽ جن کي هو اڳ ۾ سڏيندا هئا سي سڀ ڪائن پلجي ويندا ۽ هو سمجهي ويندا تہ انهن لاءِ ڪا بہ ڇوٽڪاري جي صورت نہ آهي. ٤٧-٤٨

---

وڻ ۾ ميوي جو اچڻ يا ماءُ جي پيٽ مان هڪ زنده وجود جو پيدا ٿيڻ پنهنجي نوعيت جي لحاظ کان اهڙو واقعو آهي جيئن دنيا مان آخرت جي دنيا جو پيدا ٿيڻ.

ميوو ڇا آهي، اهو پنن ۽ گُلن جو ميوي ۾ تبديل ٿيڻ آهي. انسان ڇا آهي اُهو غير انسان جو انسان جي صورت اختيار ڪري وٺڻ آهي. اهوئي آخرت جو معاملو بہ آهي. آخرت بہ اصل ۾ غير آخرت جو آخرت ۾ تبديل ٿي وڃڻ جو ٻيو نالو آهي. پهرين قسم جي تبديلي هر روز اسان جي سامهون واقعو بڻجي رهي آهي، پوءِ ان ئي نوعيت جو هڪ ٻيو واقعو يعني دنيا جو آخرت ۾ تبديل ٿيڻ ناقابل قياس ڇو هوندو.

آخرت جو ڏينهن حقيقتن جي ظاهر ٿيڻ جو ڏينهن هوندو. جڏهن اهو ڏينهن ايندو تہ سڀ ڪوڙا بنياد ڍهي پوندا، جن تي ماڻهن موجوده دنيا ۾ پنهنجي زندگي جي تعمير ڪئي هئي.

لَا يَسۡـَٔمُ الۡاِنۡسَانُ مِنۡ دُعَآءِ الۡخَيۡرِ ۫ وَ اِنۡ مَّسَّهُ الشَّرُّ فَيَـُٔوۡسٌ قَنُوۡطٌ ﴿۴۹﴾ وَ لَئِنۡ
اَذَقۡنٰهُ رَحۡمَةً مِّنَّا مِنۡۢ بَعۡدِ ضَرَّآءَ مَسَّتۡهُ لَيَقُوۡلَنَّ هٰذَا لِىۡ ۙ وَ مَاۤ اَظُنُّ السَّاعَةَ قَآئِمَةً ۙ وَّ
لَئِنۡ رُّجِعۡتُ اِلٰى رَبِّىۡۤ اِنَّ لِىۡ عِنۡدَهٗ لَلۡحُسۡنٰى ۚ فَلَنُنَبِّئَنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا بِمَا عَمِلُوۡا ۫ وَ
لَنُذِيۡقَنَّهُمۡ مِّنۡ عَذَابٍ غَلِيۡظٍ ﴿۵۰﴾

۽ ماڻهو ڀلائي گهرڻ کان نہ ٿڪبو آهي ۽ جيڪڏهن کيس ڪا تڪليف پهچندي آهي تہ مايوس ۽ نااميد ٿي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن اسان ان کي تڪليف کان پوءِ جيڪا کيس پهتي هئي جڏهن پنهنجي رحمت جو مزو چکائيندا آهيون تہ هو چوندو آهي تہ هي تہ منهنجو حق آهي ۽ آئون نہ ٿو سمجهان تہ قيامت قائم ٿيڻي آهي ۽ جيڪڏهن آئون پنهنجي رب ڏانهن موٽايو ويس تہ ان وٽ بہ مون لاءِ چڱائي ئي هوندي. پوءِ اسان انهن منڪرن کي سندن عملن کان ضرور آگاهہ ڪنداسون ۽ کين سخت عذاب جو مزو چکائينداسون. ٤٩-٥٠

---

مصيبت جو وقت انسان لاءِ پاڻ کي سڃاڻڻ جو وقت هوندو آهي، تنهن ڪري جڏهن مصيبت ايندي آهي تہ هو وڏائي کي وساري الله کي ياد ڪرڻ لڳندو آهي. ان وقت هو ڄاڻي ٿو وٺي تہ هو ٻانهو آهي ۽ الله ان جو معبود.

پر جڏهن الله ان کان اها مصيبت پري ڪندو آهي ۽ ان کي راحت عطا ڪندو آهي تہ هو ان کان پوءِ فوراً پنهنجي اڳوڻي حالت کي وساري ڇڏيندو آهي. هو مليل نعمت کي سڀبن سان جوڙيندو آهي ۽ ان کي پنهنجن تدبيرن ۽ لياقتن جو نتيجو سمجهڻ لڳندو آهي. ان جي نفسيات اهڙي ٿي ويندي آهي ڄڻ زندگي رڳو هن ئي دنيا جي زندگي آهي. ان کان پوءِ نہ ٻيهر جيئرو ٿيڻو آهي ۽ نہ وري الله جي عدالت ۾ ٻيهڻو آهي، پوءِ ان جي خوشحالي ان کي ان غلط فهمي ۾ وجهي ڇڏيندي آهي تہ جڏهن هن دنيا ۾ منهنجو حال چڱو آهي تہ اڳيان اچڻ واري دنيا ۾ بہ ضرور منهنجو حال چڱو ئي هوندو.

وَ اِذَاۤ اَنۡعَمۡنَا عَلَى الۡاِنۡسَانِ اَعۡرَضَ وَ نَاٰ بِجَانِبِهٖ ۚ وَ اِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ فَذُوۡ دُعَآءٍ
عَرِيۡضٍ ﴿۵۱﴾ قُلۡ اَرَءَيۡتُمۡ اِنۡ كَانَ مِنۡ عِنۡدِ اللّٰهِ ثُمَّ كَفَرۡتُمۡ بِهٖ مَنۡ اَضَلُّ مِمَّنۡ هُوَ فِىۡ
شِقَاقٍۢ بَعِيۡدٍ ﴿۵۲﴾

۽ جڏهن اسان انسان تي فضل ڪندا آهيون تہ هو منهن موڙيندو آهي ۽ پنهنجو پاسو ڦيرائي ڇڏيندو آهي ۽ جڏهن ان کي تڪليف پهچندي آهي تہ هو ڊگهيون ڊگهيون دعائون گهرڻ وارو ٻٽجي پوندو آهي. چؤ تہ ٻڌايو جيڪڏهن اِهو قرآن الله وٽان آيو هجي، پوءِ اوهان ان جو انڪار ڪريو تہ ان ماڻهو کان وڌيڪ گمراهہ ڪير ٿي سگهي ٿو جيڪو مخالفت ۾ تمام پري وڃي پيو. ٥١-٥٢

---

انسان کي نعمت ان لاءِ ڏني ويندي آهي جو هو ان کي الله جو عطيو سمجهي ان جو شڪر ادا

ڪري، پر انسان جو حال اهو آهي تہ هو نعمت حاصل ڪري سرڪش بڻجي ويندو آهي، البتہ جڏهن انسان کي تڪليف پهچي ٿي تہ ان وقت هو الله کي سڏڻ لڳندو آهي، پر مجبوري جي سڏ جي الله وٽ ڪا قيمت نہ آهي. انسان جي خوبي اها آهي تہ هو نعمت جي وقت بہ الله جي اڳيان جهڪي ۽ تڪليف جي وقت بہ.

انسان جي اها ئي نفسيات آهي جيڪا ان کي حق جي انڪار تي آماده ڪري ٿي. حق ڪنهن کي مجبور نہ ٿو ڪري. حق اختيار جي هوندي جهڪڻ جو مطالبو ڪندو آهي. تنهن ڪري اُهي ماڻهو جن ۾ اختيار هوندي جهڪڻ جو مادو نہ هجي، اُهي اهڙي حق کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن، جنهن کي نظرانداز ڪرڻ ۾ بظاهر انهن کي ڪا آفت ايندي نظر نٿي اچي.

سَنُرِيۡهِمۡ اٰيٰتِنَا فِى الۡاٰفَاقِ وَ فِىۡۤ اَنۡفُسِهِمۡ حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَهُمۡ اَنَّهُ الۡحَقُّ ؕ اَوَ لَمۡ يَكۡفِ بِرَبِّكَ اَنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ شَهِيۡدٌ ﴿۵۳﴾ اَلَاۤ اِنَّهُمۡ فِىۡ مِرۡيَةٍ مِّنۡ لِّقَآءِ رَبِّهِمۡ ؕ اَلَاۤ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَىۡءٍ مُّحِيۡطٌ ﴿۵۴﴾

اسان انهن کي پنهنجون نشانيون ڏيکاريندا سون آفاق (دنيا) ۾ بہ ۽ خود سندن وجود ۾ بہ، ايستائين جو انهن تي ظاهر ٿي وڃي تہ هي قرآن سچو آهي ۽ ڇا اها ڳالهہ ڪافي نہ آهي تہ تنهنجو رب هر شيءِ تي شاهد آهي. خبردار! بيشڪ اهي ماڻهو پنهنجي رب سان ملاقات بابت شڪ ۾ آهن. خبردار! هو هر شيءِ کي گهيريندڙ آهي. ٥٣-٥٤

---

دنيا ۾ جيترا بہ انسان آهن، سيني جي آڪاٽي حال جي آڪاٽي آهي. ڪنهن جي آڪاٽي مستقبل جي آڪاٽي نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪنهن جو بہ مستقبل ان جي حال جي تصديق ڪرڻ وارو نہ بڻجي سگهيو. اهڙي دنيا ۾ ڏيڍ هزار سال اڳ اها اڳڪٿي ڪئي وئي تہ قرآن اچڻ کان بعد ظاهر ٿيڻ وارا واقعا ۽ حقيقتون قرآن جي تصديق ڪندا رهندا. قرآن آئنده اچڻ واري زماني ۾ پنهنجي صداقت ۽ سچائي کي نہ صرف باقي رکندو، بلڪ وڌيڪ واضح ۽ محڪم ڪندو ويندو. قرآن هميشہ وقت جو ڪتاب رهندو.

اها ڳالهہ حيرت انگيز طور تي سؤ فيصد صحيح ثابت ٿي. علم جي تحقيق، تاريخي واقعن ۽ زماني جا انقلاب سيئي قرآن جي حق ۾ جمع ٿيندا رهيا. ايستائين جو اڄ غيرمسلم تحقيق ڪرڻ وارا بہ شاهدي ڏئي رهيا آهن تہ قرآن پنهنجن نادر خاصيتن جي ڪري خود ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ اُهو الله جو ڪتاب آهي ۽ ڪنهن بہ انساني تصنيف ۾ اهڙي ابدي خاصيتون نہ ٿيون ملي سگهن.

ان واضح حقيقت جي باوجود جيڪي ماڻهو قرآن جي صداقت جي اڳيان نہ جهڪن، اُهي رڳو اهو ثابت ڪري رهيا آهن تہ سندن بيخوفي جي نفسيات کين غيرسنجيده بڻائي ڇڏيو آهي، ڇاڪاڻ تہ غيرسنجيده انسان کان ئي اهڙي قسم جي غيرمعقول روش ظاهر ٿي سگهي ٿي جو هو پڌرين شاهدين کي ڏسي ۽ ان جي باوجود ان جو اقرار نہ ڪري.

آياتها ٥٣ (٤٢) سُوْرَةُ الشُّوْرٰى مَكِّيَّةٌ (٦٢) رکوعاتها ٥

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

حٰمٓ ﴿١﴾ عٓسٓقٓ ﴿٢﴾ كَذٰلِكَ يُوْحِيْٓ اِلَيْكَ وَ اِلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكَ ۙ اللّٰهُ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٣﴾
لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَ هُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ ﴿٤﴾ تَكَادُ السَّمٰوٰتُ يَتَفَطَّرْنَ مِنْ
فَوْقِهِنَّ وَ الْمَلٰٓئِكَةُ يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ وَ يَسْتَغْفِرُوْنَ لِمَنْ فِي الْاَرْضِ ؕ اَلَآ اِنَّ اللّٰهَ
هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿٥﴾ وَ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءَ اللّٰهُ حَفِيْظٌ عَلَيْهِمْ ۖ٘ وَ مَآ
اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِوَكِيْلٍ ﴿٦﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

حٰم- عسق. الله غالب ۽ حڪيم توڏانهن اهڙي طرح ٿي وحي ڪري ٿو جهڙي طرح توکان اڳين تي وحي موڪليندو رهيو. ان ئي جو آهي جيڪو ڪجهه آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو ڪجهه زمين ۾ آهي. اهو سڀ کان مٿاهون آهي سڀ کان وڏو آهي. قريب آهي ته آسمان پنهنجي مٿان کان ڦاٽي ۽ ملائڪ پنهنجي رب جي ساراهه سان گڏ پاڪائي بيان ڪندا آهن ۽ زمين وارن لاءِ بخشش گهرندا آهن. خبردار! بيشڪ الله ئي بخشڻهار مهربان آهي ۽ جن ماڻهن ان کان سواءِ ٻيا دوست ورتا آهن تن تي الله نگهبان آهي ۽ تون مٿن ڪو ذميوار نه آهين. ١-٦

---

جيڪڏهن ماڻهو کي لامحدود نگاهه حاصل هجي ته هو ڏسندو ته هتي هڪ الله آهي جيڪو سڄي زمين ۽ آسمان جو مالڪ آهي. ان جي طاقت ايڏي زبردست آهي جو ڪائنات ان جي خوف کان ڄڻ ڦاٽي رهي آهي، ملائڪ جيڪي براهه راست الله جي خدائي کان باخبر آهن، اُهي هر گهڙي خوف ۾ ٻڏل ان جي حمد ۽ تسبيح ڪري رهيا آهن، پوءِ هو ڏسندو ته الله پنهنجي خاص قدرت سان انسانن مان ڪجهه ماڻهن کي چونديندو آهي ۽ انهن کي پنهنجو ڪلام پهچائي ٿو، ته جيئن اهي سڀني انسانن کي حقيقت جي خبر ڏين.

انسان جيتوڻيڪ حقيقتن کي براهه راست نه ٿو ڏسي، پر هو عقل جي ذريعي ان جو ادراڪ ڪري سگهي ٿو. اهوئي ماڻهو جو اصل امتحان آهي. انسان جي اها ذميواري آهي ته هو اکين سان نظر نه اچڻ وارين شين کي عقل جي نظر سان ڏسي. هو پيغمبرن جي ڪلام ۾ الله جو آواز ٻڌي ۽ ان جي اڳيان پاڻ کي جهڪائي ڇڏي. هو ڏسڻ کان سواءِ اهڙي طرح مڃي وٺي ڄڻ هو پنهنجن اکين سان سڀ ڪجهه ڏسي رهيو آهي.

قيامت جي ڏينهن ڪنهن جي لاءِ به اها ڳالهه عذر نه بڻجي سگهندي ته ان حقيقت کي براهه راست نه ڏٺو هو، ڇاڪاڻ موجوده امتحان جي دنيا ۾ حقيقت کي براهه راست ڏسڻ گهربل ئي نه آهي. جيڪڏهن اصل پيغام ڪنهن شخص تائين پوري طرح پهچي وڃي ته ان کان پوءِ الله وٽ ان تي حجت قائم ٿي وڃي ٿي. حقيقت جو دليل جي زبان ۾ ظاهر ٿيڻ ئي ڪافي آهي جو ان شخص کي حق جي انڪار جو مجرم قرار ڏئي اها سزا ڏني وڃي، جيڪا حق جي انڪار ڪرڻ وارن لاءِ مقدر آهي.

وَ كَذٰلِكَ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا لِّتُنْذِرَ اُمَّ الْقُرٰى وَ مَنْ حَوْلَهَا وَ تُنْذِرَ يَوْمَ
الْجَمْعِ لَا رَيْبَ فِيْهِ ؕ فَرِيْقٌ فِى الْجَنَّةِ وَ فَرِيْقٌ فِى السَّعِيْرِ ۝۷

۽ اسان اهڙي طرح توڏانهن عربي قرآن وحي ڪيو سون، تہ جيئن تون مڪي وارن کي ۽ ان جي آسپاس وارن کي ڊيڄارين ۽ ڪين گڏ ٿيڻ واري ڏينهن کان ڊيڄارين، جنهن جي اچڻ ۾ ڪو شڪ نہ آهي. هڪ ٽولو جنت ۾ هوندو ۽ هڪ ٽولو باهہ ۾. ۷

---

پيغبر جي دعوت جو اصل نشانو اهو هوندو آهي تہ ماڻهن کي ان حقيقت کان خبردار ڪري ڇڏجي تہ آخرڪار اهي الله جي سامهون حاضر ڪيا وڃڻ وارا آهن. ان کان پوءِ ماڻهن جي عمل مطابق ڪنهن جي لاءِ هميشہ جي جنت جو فيصلو ٿيندو ۽ ڪنهن لاءِ هميشہ جي جهنم جو.

رسول اللهﷺ انهيءَ حقيقت کان آگاهہ ڪرڻ لاءِ آيا. پاڻﷺ جي رسالت جا ٻہ دروازا آهن. هڪڙو براهہ راست، ٻيو بلواسطہ. پاڻﷺ جي براهہ راست رسالت مڪي ۽ ان جي آسپاس وارن لاءِ هئي. ان جي تڪميل پاڻﷺ خود پنهنجي زندگي ۾ فرمائي ڇڏي، پاڻﷺ جي بلواسطہ رسالت امت جي واسطي سان سڄي دنيا جي لاءِ آهي. پاڻﷺ جي اها ٻي رسالت جاري آهي ۽ قيامت تائين جاري رهندي.

رسول اللهﷺ عربستان وارن جي سامهون عربي زبان ۾ پنهنجو پيغام پهچايو. پاڻﷺ کان پوءِ سندس امت کي بہ پاڻ ﷺ جي نيابت ۾ ان ئي اصول تي پنهنجو دعوتي فرض انجام ڏيڻو آهي. ان کي هر قوم جي سامهون ان جي پنهنجي زبان ۾ حق جو پيغام پهچائڻو آهي، جيستائين ڪنهن قوم کي ان جي پنهنجي زبان ۾ پيغام نہ پهچايو وڃي تہ تيستائين پيغام پهچائڻ جو حق ادا نہ ٿيندو.

وَ لَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَجَعَلَهُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّ لٰكِنْ يُّدْخِلُ مَنْ يَّشَآءُ فِىْ رَحْمَتِهٖ ؕ وَ الظّٰلِمُوْنَ
مَا لَهُمْ مِّنْ وَّلِيٍّ وَّ لَا نَصِيْرٍ ۝۸ اَمِ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءَ ۚ فَاللّٰهُ هُوَ الْوَلِيُّ وَ هُوَ يُحْيِ
الْمَوْتٰى ۫ وَ هُوَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ ۝۹ وَ مَا اخْتَلَفْتُمْ فِيْهِ مِنْ شَىْءٍ فَحُكْمُهٗٓ اِلَى اللّٰهِ ؕ
ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبِّىْ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ ۖ وَ اِلَيْهِ اُنِيْبُ ۝۱۰

۽ جيڪڏهن الله چاهي ها تہ انهن سڀني کي هڪ ئي امت بڻائي ڇڏي ها، پر هو جنهن کي چاهي ٿو پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪري ٿو ۽ ظالمن جو نہ ڪو دوست آهي ۽ نہ مددگار. ڇا انهن الله کان سواءِ ٻيا ڪارساز ڪري ورتا آهن، حالانڪ الله ئي ڪارساز آهي ۽ اهوئي مئلن کي جيئاريندو آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي ۽ جنهن بہ ڳالهہ ۾ توهان اختلاف ڪيو تہ ان جو فيصلو الله ئي جي حوالي آهي. اهوئي الله منهنجو رب آهي، ان ئي تي مون ڀروسو ڪيو ۽ ان ئي ڏانهن رجوع ڪريان ٿو. ۸-۱۰

---

انسان لاءِ الله تعاليٰ هڪ غيرمعمولي رحمت جو دروازو کوليو آهي، جيڪو ڪنهن ٻئي جي لاءِ نہ کوليو ويو. اهو آهي خود پنهنجي ارادي سان الله جي هدايت کي اختيار ڪرڻ ۽ ان جي نتيجي ۾ الله جي غيرمعمولي انعام جو مستحق بڻجڻ. ماڻهن جو مختلف رستا اختيار ڪرڻ ان ئي آزادي جي قيمت

آهي. اهو اختلاف يقيناً ناپسنديده شيءِ آهي، پر ان قيمتي انسان کي چوندڻ جي لاءِ ان کان سواءِ ٻي ڪا صورت نه آهي.

الله جيتوڻيڪ انسان کي آزاد پيدا ڪيو آهي، پر ان جي هدايت لاءِ انسان جي اندر ۽ ان جي ٻاهر ايترو گهڻو سامان رکيو ويو آهي جو جيڪڏهن ماڻهو سنجيده هجي ته هو ڪڏهن به غلط رستو اختيار نه ڪري. اهڙي حالت ۾ جيڪي ماڻهو غلط رستو اختيار ڪن اُهي وڏا ظالم آهن. اُهي الله وٽ هرگز معافي جي قابل نه ٿيندا.

اهل حق ۽ اهل باطل جي وچ ۾ دنيا ۾ جيڪو اختلاف پيدا ٿيندو آهي، ان جو آخري فيصلو دنيا ۾ نه ٿو ٿي سگهي. دنيا جو حال هي آهي ته هتي هر ماڻهو کي پنهنجا موافق لفظ ملي ٿا وڃن، هتي اهو ممڪن آهي ته ڪوڙ کي به سچ جي روپ ۾ ظاهر ڪري سگهجي، پر اهو صرف موجوده زندگي جي مرحلي تائين آهي، جتي انسان جو مقابلو انسان سان آهي، اڳيان اچڻ واري زندگي ۾ انسان جو مقابلو الله سان ٿيندو. اُتي ڪنهن جي لاءِ اهو ناممڪن ٿي ويندو جو هو پاڻ کي ڪوڙن لفظن جي پويان لڪائي سگهي.

فَاطِرُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا وَّ مِنَ الْاَنْعَامِ اَزْوَاجًا ۚ
يَذْرَؤُكُمْ فِيْهِ ؕ لَيْسَ كَمِثْلِهٖ شَيْءٌ ۚ وَ هُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ ﴿۱۱﴾ لَهٗ مَقَالِيْدُ السَّمٰوٰتِ وَ
الْاَرْضِ ۚ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ يَقْدِرُ ؕ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۱۲﴾

هو آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪرڻ وارو آهي. ان اوهان جي جنس مان اوهان لاءِ جوڙا پيدا ڪيا ۽ ڍورن مان به جوڙا بڻايا. انهيءَ طرح سان اوهان جي (نسل) کي پکيڙي ٿو. ان جهڙي ڪا به شيءِ نه آهي ۽ اُهو ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي. ان جي ئي اختيار ۾ آهن آسمانن ۽ زمين جون ڪنجون، هو جنهن لاءِ چاهي ٿو روزي ڪشادي ڪندو آهي ۽ جنهن لاءِ چاهي تو تنگ ڪندو آهي. بيشڪ هو هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. ١١-١٢

---

زمين ۽ آسمان جي صورت ۾ جيڪا حقيقت اسان جي سامهون آهي، اها ايتري عظيم آهي جو اهو ناقابل قياس آهي ته انهن معبودن مان ڪنهن معبود ان کي وجود عطا ڪيو هوندو. جن جي ماڻهو الله کان سواءِ تعظيم ۽ تقديس ڪندا آهن. اهڙي طرح انسانن ۽ جانورن جي اندروني نظام ۾ سندن نسل جي بقا جو انتظام ايترو پيچيده آهي جو ان کي حقيقي طور تي نه ڪنهن انسان ڏانهن منسوب ڪري سگهجي ٿو ۽ نه الله کان سواءِ معبودن مان ڪنهن معبود ڏانهن. اهي سڀ ڪم ايترا غيرمعمولي آهن جو بي مثال خدائي ڏانهن انهن کي جائز طور منسوب ڪري سگهجي ٿو.

خالق جون جيڪي صفتون ان جي مخلوق جي شاهدي ذريعي اسان جي علم ۾ اينديون آهن، اُهي اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن ته اِهو خالق ڪيتري قدر عظيم آهي، هو سميع ۽ بصير آهي. هو هر قسم جي اعليٰ اختيار جو مالڪ آهي. ڪنهن کي جيڪو ڪجهه ملي ٿو، ان جي ڏيڻ سان ئي ملي ٿو ۽ ڪنهن کان جيڪو ڪجهه کسجي ٿو، ان جي کسڻ سان ئي کسجي ٿو. هو پنهنجو مثال پاڻ آهي. ان جهڙو ٻيو ڪير به نه آهي.

شَرَعَ لَكُمْ مِّنَ الدِّيْنِ مَا وَصّٰى بِهٖ نُوْحًا وَّ الَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ وَ مَا وَصَّيْنَا بِهٖٓ اِبْرٰهِيْمَ وَ مُوْسٰى وَ عِيْسٰٓى اَنْ اَقِيْمُوا الدِّيْنَ وَ لَا تَتَفَرَّقُوْا فِيْهِ ؕ كَبُرَ عَلَى الْمُشْرِكِيْنَ مَا تَدْعُوْهُمْ اِلَيْهِ ؕ اَللّٰهُ يَجْتَبِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ يَّشَآءُ وَ يَهْدِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ يُّنِيْبُ ﴿۱۳﴾

الله اوهان لاءِ اهو ئي دين مقرر ڪيو آهي جنهن جو هن نوح کي حڪم ڪيو هو ۽ جنهن جي وحي اسان توڏانهن ڪئي آهي ۽ جنهن جو حڪم اسان ابراهيم کي موسيٰ کي ۽ عيسيٰ کي ڏنو هو ته دين کي قائم ڪيو ۽ ان ۾ ڌار ڌار فرقا نه ٿيو. مشرڪن کي اُها ڳالهه ڏکي لڳي ٿي جنهن ڏانهن ڪين سڏيندو آهين. الله جنهن کي چاهي ٿو پاڻ لاءِ چوندي ٿو ۽ جيڪو هن ڏانهن رجوع ڪري ٿو ان جي پاڻ ڏانهن رهنمائي ڪري ٿو. ١٣

---

سيئي پيغمبر هڪ ئي دين کڻي آيا ۽ اهو دين توحيد آهي، پر انهن پيغمبرن جا مجڻ وارا بعد ۾ ڌار ڌار ديني فرقن ۾ تقسيم ٿي ويا. ان جو سبب توجهه جي مرڪز ۾ تبديلي هئي، پيغمبرن جي اصل دين ۾ توجهه جو مرڪز سچي جو سچو الله هو. هر هڪ جي تعليم اها هئي ته رڳو هڪ الله جا پرستار ٿيو، پر انهن جي امتن بعد ۾ پنهنجي توجهه جو مرڪز تبديل ڪري ڇڏيو. اهي الله جي بدران غيرالله جا پرستار بڻجي ويا.

قديم عرب جا ماڻهو شروع ۾ حضرت ابراهيمؑ جي امت هئا. پر بعد ۾ پنهنجن ڪجهه بزرگن جي عظمت سندن ذهن تي ايتري قدر ڇانئجي وئي جو انهن بزرگن کي پنهنجي توجهه جو مرڪز بڻائي ورتو، ايستائين جو انهن جا بت ٺاهي هو انهن کي پوڄڻ لڳا. يهودي حضرت موسيٰ جي امت هئا، پر انهن پنهنجي نسل کي خاص نسل سمجهي ورتو. انهن جي توجهه پنهنجي نسل ڏانهن ايتري قدر مائل ٿي جو آخرڪار خدائي دين انهن وٽ نسلي دين بڻجي ويو. اهي پيغمبرﷺ جا منڪر رڳو ان ڪري ٿيا جو هو سندن پنهنجي نسل ۾ پيدا نه ٿيو هو. اهڙي طرح عيسائي حضرت عيسيٰؑ جي امت هئا. انهن حضرت عيسيٰؑ کي الله جو پيغمبر مڃڻ جي بدران ان کي الله جو پٽ فرض ڪري ورتو. ان ڪري بعد ۾ جيڪو دين بڻيو ان ۾ (عيسيٰؑ) الله جي پٽ کي سيني کان وڌيڪ اهميت حاصل ٿي وئي.

الله کي پنهنجن ٻانهن کان جيڪو دين گهربل آهي، اهو هي آهي ته اهي خالص توحيد تي قائم رهن. صرف هڪ الله سندن سچي توجهه جو مرڪز بڻجي وڃي. اهوئي دين کي قائم ڪرڻ آهي، ان توجهه جي مرڪز ۾ تبديلي جو ٻيو نالو شرڪ آهي ۽ جڏهن ماڻهن ۾ شرڪ اچي ٿو ته فوراً فرقا ۽ اختلاف شروع ٿي ويندا آهن، ڇاڪاڻ ته توحيد جي صورت ۾ توجهه جو مرڪز هڪ رهي ٿو، جڏهن ته شرڪ جي صورت ۾ ڪيترائي توجهه جا مرڪز بڻجي ويندا آهن.

پيغمبرﷺ جو دين جيتوڻيڪ پنهنجي متن جي لحاظ کان محفوظ دين آهي، پر پاڻﷺ جي امت محفوظ امت نه آهي. امت جي ماڻهن لاءِ اهو امڪان موجود آهي ته اهي نئين نئين شين کي پنهنجي توجهه مرڪز بڻائين. اهي هٿ ٺوڪيل تشريحن ۽ تعبيرن جي ذريعي اصل دين ۾ تبديليون آڻين ۽ پوءِ هڪ دين کي عملاً ڪيترائي دين بڻائي ڇڏين.

وَ مَا تَفَرَّقُوْٓا اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْعِلْمُ بَغْيًۢا بَيْنَهُمْ ؕ وَ لَوْ لَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ
رَّبِّكَ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى لَّقُضِيَ بَيْنَهُمْ ؕ وَ اِنَّ الَّذِيْنَ اُوْرِثُوا الْكِتٰبَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ لَفِيْ
شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيْبٍ ﴿۱۴﴾

۽ جن ماڻهن تفرقو وڌو بعد ان جي جو آيو انهن وٽ علم پاڻ ۾ ضد جي ڪري ۽ جيڪڏهن تنهنجي رب طرفان هڪ مقرر وقت تائين ڳالهه طي نہ هجي ها تہ سندن وچ ۾ فيصلو ڪري ڇڏجي ها ۽ جن ماڻهن کي انهن کان بعد ڪتاب ڏنو ويو اُهي ان بابت وڏي شڪ ۾ پيل آهن. ١٤

---

علم اچڻ کان بعد جدا جدا ٿيڻ جو مطلب اهو آهي تہ جڏهن حق جي دين جي دعوت بلند ٿئي تہ پوءِ بہ ماڻهو ان کان الڳ رهي يا ان جو مخالف بڻجي وڃي. رسول اللهﷺ جي ذريعي الله تعاليٰ دين کي ان جي خالص شڪل ۾ واضح ڪيو. هاڻي گهرجي ها تہ سيئي اهي ماڻهو جيڪي الله جا طالب آهن، اهي پاڻﷺ سان جڙي وڃن ها. پر اُهي پاڻﷺ سان گڏجڻ لاءِ تيار نہ ٿيا. اڳين نبين سان پاڻ کي منسوب ڪري اهي ماڻهن جي وچ ۾ ديناري جو مقام حاصل ڪيل هئا. انهن سمجهيو تہ اهوئي سندن لاءِ ڪافي آهي، حالانڪ جڏهن صحيح دين جي دعوت بلند ٿي تہ سيني ماڻهن لاءِ لازمي ٿي ويندو آهي تہ اُهي پنهنجي هٿ ٺوڪيل ديناري کي ڇڏي صحيح دين سان پاڻ کي وابستہ ڪن. جيڪي ماڻهو ائين نہ ڪن اهي الله وٽ مجرم آهن. چاهي اهي بظاهر دين دار هجن يا بي دين.

حق جي دين جي دعوت جڏهن بلند ٿيندي آهي تہ ڪجهہ ماڻهو ”بغي“ جي بنياد تي ان جا منڪر بڻجي ويندا آهن ۽ ڪجهہ ماڻهو شڪ جي بنياد تي انهيءَ کان پري رهندا آهن. بغي مان مراد حسد ۽ تڪبر آهي. اهو انهن ماڻهن جو معاملو آهي جيڪي ماحول ۾ وڏائي جي مقام تي هجن. حق کي مڃڻ ۾ کين وڏائي جي مقام تان هيٺ لهڻو پوندو آهي، چاڪاڻ تہ اهي پاڻ کي گهٽ ڪرڻ تي راضي نہ ٿا ٿين. ان ڪري اهي حق جي دعوت کي مٽائڻ لاءِ سرگرم ٿي ويندا آهن، تہ جيئن پنهنجي موقف کي جائز ثابت ڪري سگهن.

شڪ ۽ مونجهاري جو معاملو اڪثر عوام سان پيش ايندو آهي. داعي جي ڳالهہ انهن کي دليل جي سطح تي صحيح لڳندي آهي، پر انهن لاءِ پنهنجن بزرگن کي ڇڏڻ بہ مشڪل هوندو آهي، جن جي عظمت سندن ذهن ۾ اڳ ۾ ئي قائم ٿي چڪي هوندي آهي. اهي بہ مختلف تقاضا انهن لاءِ آخري فيصلي تائين پهچڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي ويندا آهن، پهرين ٽولي جيڪڏهن تڪبر جي نفسيات جي ڪري حق کي نظرانداز ڪيو تہ ٻيو ٽولو شڪ جي نفسيات ڪري ان کي اختيار نہ ٿو ڪري. حق کي قبول ڪرڻ کان ٻئي محروم رهجي ويندا آهن.

فَلِذٰلِكَ فَادْعُ ۚ وَ اسْتَقِمْ كَمَآ اُمِرْتَ ۚ وَ لَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَهُمْ ۚ وَ قُلْ اٰمَنْتُ بِمَآ اَنْزَلَ
اللّٰهُ مِنْ كِتٰبٍ ۚ وَ اُمِرْتُ لِاَعْدِلَ بَيْنَكُمْ ؕ اَللّٰهُ رَبُّنَا وَ رَبُّكُمْ ؕ لَنَآ اَعْمَالُنَا وَ لَكُمْ
اَعْمَالُكُمْ ؕ لَا حُجَّةَ بَيْنَنَا وَ بَيْنَكُمْ ؕ اَللّٰهُ يَجْمَعُ بَيْنَنَا ۚ وَ اِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ﴿۱۵﴾ وَ الَّذِيْنَ

يُحَآجُّوْنَ فِي اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا اسْتُجِيْبَ لَهٗ حُجَّتُهُمْ دَاحِضَةٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَ عَلَيْهِمْ غَضَبٌ وَّ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ﴿١٦﴾

پوءِ تون ان ئي ڏانهن سڏ ۽ ان تي ثابت قدم رهه جهڙي طرح توکي حڪم ڪيو ويو آهي ۽ سندن خواهشن جي پيروي نه ڪر ۽ چؤ جيڪو ڪتاب الله نازل ڪيو آهي آئون ان تي ايمان آڻيان ٿو ۽ مون کي اهو حڪم ٿيل آهي ته آئون توهان جي وچ ۾ انصاف ڪريان. الله اسان جو رب آهي ۽ توهان جو رب به. اسان جو عمل اسان لاءِ ۽ توهان جو عمل توهان لاءِ. اسان جي ۽ توهان جي وچ ۾ ڪو تڪرار نه آهي. الله اسان سڀني کي گڏ ڪندو ۽ ان ئي وٽ موٽڻ آهي ۽ الله (جي دين) بابت سندن فرمان قبول ٿيڻ کان پوءِ جيڪي تڪرار ڪندا آهن تن جي حجت سندن رب وٽ باطل آهي ۽ انهن تي غضب آهي ۽ انهن لاءِ سخت عذاب آهي. ١٥-١٦

---

هتي ”ڪتاب“ مان مراد اهو اصل دين آهي جيڪو پيغمبرن ذريعي موڪليو ويو. ”اهواء“ مان مراد اهي هٿ ٺوڪيل اضافا آهن، جيڪي انسانن خود پنهنجي طرفان دين حق ۾ ڪيا. پيغمبر کي حڪم ڏنو ويو ته تون صرف اصل دين تي ثابت قدم رهه ۽ دعوت جي مصلحتن جي ڪري توکي ايئن نه ڪرڻ گهرجي ته ماڻهن جي هٿ ٺوڪيل دين سان رعايت ڪرڻ لڳين. تنهنجو ڪم عدل ڪرڻ آهي. يعني مذهبي اختلاف جو فيصلو ڪري اهو ٻڌائڻ ته حق ڇا آهي ۽ باطل ڇا. ڪهڙو حصو اُهو آهي جيڪو الله طرفان آهي ۽ ڪهڙو حصو انسان جي ملاوٽ جي ڪري دين ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

”اسان جي ۽ توهان جي وچ ۾ ڪو جهيڙو نه آهي.“ جو مطلب هي آهي ته توهان جي جهيڙي ڪرڻ جي باوجود اسان ايئن نه ڪنداسون جو اسان به توهان سان جهيڙو ڪيون. توهان منفي رويو اختيار ڪندؤ تڏهن به اسان پنهنجي مثبت رويي تي قائم رهنداسون، داعي جي ذميداري صرف حق جو پيغام پهچائڻ آهي. ان کان علاوه جيڪي ڳالهيون آهن، انهن کي هو الله جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي.

جيڪي ماڻهو حق کي قبول ڪري وٺن، انهن کي تنگ ڪرڻ ۽ اجائي بحثن ۾ الجهائڻ نهايت ظالماڻو ڪم آهي. ايئن ڪرڻ وارا پاڻ کي ان خطري ۾ مبتلا ڪري رهيا آهن ته آخرت ۾ انهن تي الله جو غضب ٿئي ۽ کين سخت عذاب ۾ وڌو وڃي.

اَللّٰهُ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ وَ الْمِيْزَانَ ؕ وَ مَا يُدْرِيْكَ لَعَلَّ السَّاعَةَ قَرِيْبٌ ﴿١٧﴾ يَسْتَعْجِلُ بِهَا الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِهَا ۚ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مُشْفِقُوْنَ مِنْهَا ۙ وَ يَعْلَمُوْنَ اَنَّهَا الْحَقُّ ؕ اَلَآ اِنَّ الَّذِيْنَ يُمَارُوْنَ فِي السَّاعَةِ لَفِيْ ضَلٰلٍۢ بَعِيْدٍ ﴿١٨﴾

الله اهو آهي جنهن حق سان ڪتاب ۽ ساهمي لاٿي. توکي ڪهڙي خبر شايد اها گهڙي ويجهي هجي. جيڪي ماڻهو ان جو يقين نه ٿا ڪن، اُهي ان کي تڪڙو گهرندا آهن ۽ جيڪي ماڻهو يقين ڪرڻ وارا آهن، اهي ان کان ڊڄندا آهن ۽ ڄاڻندا آهن ته اُها برحق آهي. خبردار! جيڪي ماڻهو ان گهڙي جي باري ۾ جهيڙو ڪندا آهن سي گمراهي ۾ پري وڃي نڪتا. ١٧-١٨

---

جهڙي طرح مادي شين جي تور لاءِ ساهمي هوندي آهي، اهڙي طرح معنوي حقيقتن کي تورڻ

لاءِ الله پنهنجو ڪتاب نازل فرمايو آهي. الله جو ڪتاب حق ۽ باطل کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪرڻ جي ڪسوٽي آهي. هر شيءِ کي الله جي ڪتاب سان پرکيو ويندو. نه وري اهو ته الله جي ڪتاب کي ٻين شين سان پرکيو وڃي.

پيغمبر جي زماني ۾ جيڪي ماڻهو پاڻ ﷺ جي مخالفت ڪري رهيا هئا، سندن غلطي اها هئي ته سندن قومي روايتن ۽ انهن جي بزرگن جي قول ۽ عمل سان انهن وٽ جيڪو دين ٺهيل هو، اُهي ان کي معيار تسليم ڪري ان جي روشني ۾ الله جي ڪتاب کي ڏسندا هئا. حالانڪ انهن لاءِ صحيح ڳالهه اها هئي ته هو قومي روايتن ۽ زبرگن جي قول ۽ فعل کي الله جي ڪتاب جي روشني ۾ ڏسن. جيڪا شيءِ الله جي ڪتاب جي معيار تي پوري لهي ان کي وٺن ۽ جيڪا شيءِ الله جي ڪتاب جي معيار تي پوري نه لهي ان کي ڇڏي ڏين.

پر ڪ جو اهو ڪم موجوده دنيا ۾ ماڻهو کي پاڻ ڪرڻو آهي. آخرت ۾ اهو ڪم الله طرفان انجام ڏنو ويندو. عقل مند اهو آهي جيڪو آخرت جي ساهمي ۾ تورجڻ کان اڳ ۾ پاڻ کي توري وٺي، ڇاڪاڻ ته آخرت جي تور آخري فيصلي لاءِ هوندي نه وري عمل جي مهلت ڏيڻ لاءِ.

ع اَللّٰهُ لَطِيْفٌۢ بِعِبَادِهٖ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَ هُوَ الْقَوِيُّ الْعَزِيْزُ ﴿١٩﴾ مَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ
الْاٰخِرَةِ نَزِدْ لَهٗ فِيْ حَرْثِهٖ ۚ وَمَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الدُّنْيَا نُؤْتِهٖ مِنْهَا وَ مَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ
مِنْ نَّصِيْبٍ ﴿٢٠﴾

الله پنهنجن ٻانهن تي مهربان آهي. هو جنهن کي چاهي ٿو روزي ڏي ٿو ۽ اُهو قوت وارو زبردست آهي. جيڪو شخص آخرت جي پوک گهرندو آهي تنهن لاءِ سندس پوک ۾ واڌارو ڪندا آهيون ۽ جيڪو شخص دنيا جي پوک گهري تنهن کي منجهائنس ڪجهه ڏيندا آهيون ۽ آخرت ۾ ان جو ڪو حصو نه آهي. ١٩-٢٠

---

دنيا جي زندگي امتحان لاءِ آهي. هتي هر ماڻهو کي بقدر امتحان ضروري اسباب ڏنا ويندا آهن. هاڻي جيڪو ماڻهو آخرت پسند هوندو، اُهو موجوده دنيا جي اسباب کي آخرت جي تعمير لاءِ استعمال ڪندو ۽ ان جي نتيجي ۾ آخرت ۾ وڌيڪ اضافي سان پنهنجو انعام حاصل ڪندو.

ان جي ابتڙ جيڪو ماڻهو دنيا پسند هوندو، هو صرف موجوده دنيا لاءِ عمل ڪندو. اهڙو ماڻهو يقيناً موجوده دنيا ۾ پنهنجو انعام حاصل ڪندو، پر آخرت ۾ هو سراسر محروم رهندو. جڏهن ان آخرت لاءِ ڪجهه ڪيو ئي نه هو ته ڪيئن ممڪن آهي جو ان کي آخرت ۾ ڪجهه ڏنو وڃي.

اَمْ لَهُمْ شُرَكٰٓؤُا شَرَعُوْا لَهُمْ مِّنَ الدِّيْنِ مَا لَمْ يَاْذَنْۢ بِهِ اللّٰهُ ۭ وَ لَوْ لَا كَلِمَةُ الْفَصْلِ
لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ ۭ وَ اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٢١﴾ تَرَى الظّٰلِمِيْنَ مُشْفِقِيْنَ مِمَّا
كَسَبُوْا وَ هُوَ وَاقِعٌۢ بِهِمْ ۭ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فِيْ رَوْضٰتِ الْجَنّٰتِ ۚ لَهُمْ
مَّا يَشَآءُوْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۭ ذٰلِكَ هُوَ الْفَضْلُ الْكَبِيْرُ ﴿٢٢﴾ ذٰلِكَ الَّذِيْ يُبَشِّرُ اللّٰهُ عِبَادَهُ

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ؕ قُلْ لَّآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا اِلَّا الْمَوَدَّةَ فِي الْقُرْبٰى ؕ وَ
مَنْ يَّقْتَرِفْ حَسَنَةً نَّزِدْ لَهٗ فِيْهَا حُسْنًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ شَكُوْرٌ ﴿٢٣﴾

ڇا انهن جا ڪجهه شريڪ آهن جن انهن لاءِ اهڙو دين مقرر ڪيو آهي جنهن جي اجازت الله نه ڏني آهي ۽ جيڪڏهن فيصلي جي ڳالهه طي ٿيل نه هُجي ها ته انهن جو فيصلو ڪري ڇڏجي ها ۽ بيشڪ ظالمن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. تون ظالمن کي ڏسندين ته اُهي ڊڄي رهيا آهن ان کان جيڪو انهن ڪمايو آهي ۽ اهو مٿن پئجي رهندو ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، اهي جنت جي باغن ۾ هوندا. انهن لاءِ انهن جي رب وٽ اهو سڀ ڪجهه هوندو جيڪي هو گهرندا، اهوئي وڏو انعام آهي. هي اها شيءِ آهي جنهن جي خوشخبري الله پنهنجي ٻانهن کي ڏي ٿو جن ايمان آندو ۽ جن نيڪ عمل ڪيا. چئو ته آئون توهان کان ان تي ڪو اجر نه ٿو گهران، پر مٽي مائٽي جي محبت ۽ جيڪو شخص ڪا چڱائي ڪندو تنهن لاءِ اسان ان ۾ چڱائي وڌائينداسون. بيشڪ الله معاف ڪرڻ وارو قدردان آهي. ٢١-٢٣

---

جڏهن هڪ ڳالهه الله جي ڪتاب مان ثابت نه هجي، ان جي باوجود ماڻهو ان جي حق هجڻ تي اسرار ڪري ته ان جو مطلب آهي ته هو پين کي الله جي برابر ڪري رهيو آهي. هو الله کان سواءِ پين کي اهو حق ڏئي رهيو آهي ته اُهي انسان لاءِ ان جو دين ٺاهين.

اها هڪ بيحد سنگين ڳالهه آهي. حقيقت اها آهي ته ”دين“ جي نوعيت واري ڪا به شيءِ مقرر ڪرڻ جو حق صرف هڪ الله کي آهي. الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي اهو حق ڏيڻ پڌرو شرڪ آهي. شرڪ هڪ اهڙو جرم آهي جيڪو الله وٽ ڪڏهن به معاف ٿيڻ وارو نه آهي.

”آئون توهان کان ڪو اجر نه ٿو گهران، پر هي ته مٽي مائٽي جي محبت.“ اها ڳالهه پيغمبر جي زبان مان ان وقت چورائي وئي، جڏهن پاڻ ﷺ جي قبيلي قريش جا ماڻهو پاڻ ﷺ جي دعوت جي راهه ۾ سخت رڪاوٽون وجهي رهيا هئا. انهن حالتن ۾ ان جو مطلب اهو هو ته جيڪڏهن توهان منهنجو دين قبول نه ٿا ڪريو ته پلي نه ڪريو، پر گهٽ ۾ گهٽ مٽي مائٽي جو لحاظ ڪندي مون کي اذيت ته نه ڏيو. پين لفظن ۾ توهان کي مون سان مذهبي اختلاف آهي ته پنهنجي اختلاف ۾ توهان اخلاق ۽ شرافت جي سطح کا نه ڪِرو. اهڙي طرح چڻ اسان کي پڌايو ويو ته پاڻ ﷺ جي دعوت جا مخالف صرف مخالف نه هئا، بلڪ اهي اخلاقي مجرم به هئا. اُهي پاڻ کي اخلاق جي سطح تي غلط ثابت ڪري رهيا هئا، جنهن اخلاق جي اهميت اهي پاڻ به تسليم ڪندا هئا.

اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ۚ فَاِنْ يَّشَاِ اللّٰهُ يَخْتِمْ عَلٰى قَلْبِكَ ؕ وَ يَمْحُ اللّٰهُ
الْبَاطِلَ وَ يُحِقُّ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿٢٤﴾ وَ هُوَ الَّذِيْ يَقْبَلُ التَّوْبَةَ
عَنْ عِبَادِهٖ وَ يَعْفُوْا عَنِ السَّيِّاٰتِ وَ يَعْلَمُ مَا تَفْعَلُوْنَ ﴿٢٥﴾ وَ يَسْتَجِيْبُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ
عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَ يَزِيْدُهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ؕ وَ الْكٰفِرُوْنَ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ﴿٢٦﴾

ڇا هو چوندا آهن ته ان الله تي ڪوڙ ٺاهيو آهي، پوءِ جيڪڏهن الله چاهي ته هو تنهنجي دل تي مهر هڻي ڇڏي

۽ الله باطل کي ناس ڪري ٿو ۽ حق کي ثابت ڪري ٿو. پنهنجي ڪلام سان. بيشڪ هو سينن وارا ڳجهه ڄاڻندڙ آهي ۽ اُهوئي آهي جيڪو پنهنجن ٻانهن جي توبهه قبول ڪندو آهي ۽ برايون کي معاف ڪندو آهي ۽ هو ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهه توهان ڪندا آهيو ۽ انهن ماڻهن جون دعائون قبول ڪندو آهي جن ايمان آندو ۽ جن نيڪ عمل ڪيا ۽ پنهنجي فضل سان کين وڌيڪ ڏيندو آهي ۽ جيڪي انڪار ڪرڻ وارا آهن انهن لاءِ سخت عذاب آهي. ٢٤-٢٦

---

هن دنيا لاءِ الله جو قانون اهو آهي ته هتي حق حق جي روپ ۾ سامهون ايندو آهي ۽ باطل باطل جي روپ ۾ ظاهر ٿيندو آهي. جيڪڏهن هڪ ڪوڙو روح آهي ته ان کان ڪڏهن به سچو ڪلام ظاهر نه ٿو ٿي سگهي، اهو سبب آهي ته هِتي ڪنهن غير پيغمبر لاءِ اهو ممڪن نه آهي ته هو پيغمبر جهڙو ڪلام پيش ڪري سگهي. هڪ ماڻهو پيغمبر نه هجي ۽ ڪوڙ ڳالهائي پاڻ کي پيغمبر ٻڌائي ته ان جي ڪلام ۾ لازمي طور ڪوڙي پيغمبر جو انداز پيدا ٿي ويندو. ڪوبه ماڻهو مصنوعي طور تي ڪڏهن به سچي پيغمبر جي انداز ۾ نه ٿو ڳالهائي سگهي.

”جيڪڏهن الله چاهي ته هو تنهنجي دل تي مهر لڳائي ڇڏي.“ ان جو مطلب ٻين لفظن ۾ هي آهي جيڪڏهن تون الله تي ڪوڙ ناهين ها ته ان وقت الله جي قانون مطابق تنهنجي دل تي مهر لڳي وڃي ها. اهڙي حالت ۾ خود قدرت جي قانون مطابق اهو ٿئي ها ته تنهنجي زبان ان پاڪ رباني ڪلام جي اظهار کان عاجز بڻجي وڃي ها. حقيقت اها آهي ته پيغمبر جو اعليٰ ڪلام خود ان جي الله جو پيغمبر هئڻ جو ثبوت آهي. جيڪڏهن اهو واقعي الله جو پيغمبر نه هجي ها ته ان جي زبان مان اهڙو ڪلام ڪڏهن به ظاهر نه ٿئي ها.

جيڪي ماڻهو حق جي مخالفت ڪندا آهن، اهي پنهنجي دل جي آواز جي ڪري ايئن نه ڪندا آهن بلڪ رڳو ضد ۽ دشمني جي ڪري ان جا مخالف بڻجي ويندا آهن، اهڙا ماڻهو ڄڻ خود پنهنجي ضمير جي عدالت جي سامهون مجرم بڻجي رهيا آهن، انهن تي الله جي حجت پوري ٿي چڪي، پر اهو ته ماڻهو توبهه ڪري ۽ الله کان معافي گهري.

وَ لَوْ بَسَطَ اللّٰهُ الرِّزْقَ لِعِبَادِهٖ لَبَغَوْا فِي الْاَرْضِ وَ لٰكِنْ يُّنَزِّلُ بِقَدَرٍ مَّا يَشَآءُ ؕ اِنَّهٗ
بِعِبَادِهٖ خَبِيْرٌۢ بَصِيْرٌ ﴿۲۷﴾ وَ هُوَ الَّذِيْ يُنَزِّلُ الْغَيْثَ مِنْۢ بَعْدِ مَا قَنَطُوْا وَ يَنْشُرُ رَحْمَتَهٗ ؕ
وَ هُوَ الْوَلِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿۲۸﴾ وَ مِنْ اٰيٰتِهٖ خَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ مَا بَثَّ فِيْهِمَا مِنْ دَآبَّةٍ ؕ
ع وَ هُوَ عَلٰى جَمْعِهِمْ اِذَا يَشَآءُ قَدِيْرٌ ﴿۲۹﴾

۽ جيڪڏهن الله پنهنجن ٻانهن جي روزي ڪشادي ڪري ها ته اهي زمين ۾ فساد ڪن ها، پر هو اندازي سان نازل ڪري ٿو جيترو چاهي ٿو. بيشڪ اهو پنهنجن ٻانهن کي ڄاڻندڙ، ڏسندڙ آهي ۽ اهو ئي آهي جيڪو ماڻهن جي نااميد ٿيڻ کان پوءِ مينهن وسائي ٿو ۽ پنهنجي رحمت پکيڙيندو آهي ۽ اهو ڪم ٺاهڻ وارو آهي، ساراهيل آهي ۽ ان جي نشانين مان آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪرڻ آهي ۽ اُهي جاندار جيڪي انهن جي وچ ۾ ان پکيڙيا آهن ۽ هو انهن کي گڏ ڪرڻ تي قادر آهي، جڏهن هو انهن کي گڏ ڪرڻ چاهي. ٢٧-٢٩

---

زمين تي انساني زندگي جو انحصار پاڻي تي آهي، پر پاڻي سڄو الله جي اختيار ۾ آهي. الله جيڪڏهن پاڻي فراهم نہ ڪري تہ انسان پاڻ پاڻي حاصل نہ ٿو ڪري سگهي، اهڙي طرح رزق جي تقسيم بہ الله طرفان ٿيندي آهي. ان تقسيم ۾ الله ماڻهو جي ظرف ۽ حوصلي کي ڏسندو آهي ۽ هر هڪ کي ان جي ظرف جي مطابق عطا ڪندو آهي. جيڪڏهن ماڻهن کي سندن حوصلي کان وڌيڪ ڏجي تہ ماڻهو سرڪش بڻجي وڃن ۽ زمين ۾ هر طرف ظلم ۽ فساد ڦهلجي وڃي.

اسان ڏسون ٿا تہ هڪ هاري جڏهن داڻا پکيڙيندو آهي تہ هو انهن کي گڏ ڪرڻ تي بہ قادر هوندو آهي. اهو انساني مشاهدو ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ الله بہ اهڙي طرح پنهنجي پکيڙيل مخلوق کي گڏ ڪري پنهنجي عدالت ۾ آڻي سگهي ٿو. جتي گڏيل طور تي ماڻهن جي مستقبل جو فيصلو ڪيو وڃي. جنهن خالق لاءِ پيدا ڪري پکيڙڻ ممڪن هو، ان لاءِ موت کان پوءِ ٻيهر گڏ ڪرڻ ڇو نہ ممڪن ٿي ويندو.

وَ مَآ اَصَابَكُمْ مِّنْ مُّصِيْبَةٍ فَبِمَا كَسَبَتْ اَيْدِيْكُمْ وَ يَعْفُوْا عَنْ كَثِيْرٍ ﴿٣٠﴾ وَ مَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ فِي الْاَرْضِ ۚ وَ مَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّ لَا نَصِيْرٍ ﴿٣١﴾

۽ جيڪا مصيبت توهان کي پهچي ٿي سا توهان جي هٿن جي ڪمائي سببان آهي ۽ گهڻن گناهن کي هو معاف ڪري ڇڏيندو آهي ۽ توهان زمين ۾ (خدا کي) عاجز ڪرڻ وارا نہ آهيو ۽ الله کان سواءِ نہ توهان جو ڪو ڪارساز آهي ۽ نہ ڪو مددگار. ٣٠-٣١

---

موجوده دنيا کي اسباب جي قانون تحت بڻايو ويو آهي. هتي ماڻهو تي جڏهن ڪا مصيبت ايندي آهي تہ اها واضح طور تي ان جي پنهنجي ڪوتاهي جو نتيجو هوندي آهي ۽ ڪڏهن ايئن ٿيندو آهي جو هڪ ماڻهو غلطي ڪري ٿو، پر هو ان جي بري انجام کان بچي ٿو وڃي.

دنيا جا اهي واقعا ان لاءِ آهن جو ماڻهو انهن مان سبق وٺي. جڏهن هو ڏسي تہ ماڻهو جيڪو ڪجهہ حاصل ڪري رهيا آهن، اهو پنهنجي عمل جي مطابق حاصل ڪري رهيا آهن تہ هو ان مان اها نصيحت وٺي تہ آخرت ۾ بہ اهڙي طرح هر ماڻهو پنهنجي عمل جي مطابق پنهنجو انجام لهندو، اهڙي طرح جڏهن هو ڏسي تہ ماڻهو هڪ غلطي ڪئي، پر هو ان جي انجام کان بچي ويو تہ هو ان مان اهو سبق وٺي تہ الله نهايت مهربان آهي. جيڪڏهن ماڻهو ان ڏانهن رجوع ڪري تہ هو پنهنجي خاص رحمت سان ان کي سندس غلطين جي انجام کان بچائي سگهي ٿو. ايمان جڏهن پُختو ٿي وڃي تہ ماڻهو جو حال اهو ٿي ويندو آهي جو هو دنيا جي واقعن ۾ آخرت جي تصوير ڏسڻ لڳندو آهي.

وَ مِنْ اٰيٰتِهِ الْجَوَارِ فِي الْبَحْرِ كَالْاَعْلَامِ ﴿٣٢﴾ اِنْ يَّشَاْ يُسْكِنِ الرِّيْحَ فَيَظْلَلْنَ رَوَاكِدَ عَلٰى ظَهْرِهٖ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ﴿٣٣﴾ اَوْ يُوْبِقْهُنَّ بِمَا كَسَبُوْا وَ يَعْفُ عَنْ كَثِيْرٍ ﴿٣٤﴾ وَّ يَعْلَمَ الَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِنَا ؕ مَا لَهُمْ مِّنْ مَّحِيْصٍ ﴿٣٥﴾

۽ ان جي نشانين مان سمنڊ ۾ جبلن وانگر جهاز هلندا آهن. جيڪڏهن هو چاهي تہ هوائن کي روڪي ڇڏي، پوءِ اهي ٻيڙا سمنڊ جي سطح تي بيهي رهن. بيشڪ ان ۾ نشانيون آهن هر ان ماڻهو لاءِ جيڪو صبر ڪرڻ

وارو آهي. شڪر ڪرڻ وارو اُهي يا هو انهن کي تباھ ڪري ڇڏي سندن عملن جي ڪري ۽ گھڻن ماڻهن کي معاف ڪري ڇڏي ۽ تہ جيئن اُهي ماڻهو ڄاڻي وٺن جيڪي اسان جي آيتن ۾ جهڳڙو ڪندا آهن تہ سندن لاءِ پناھ جي جاءِ نہ آهي. ٣٢-٣٥

---

انسان سمنڊ ۾ ٻيڙا هلائيندو آهي ۽ فضا ۾ پنهنجا جهاز اڏائيندو آهي. اهو صرف ان ڪري ممڪن ٿيندو آهي جو الله فطرت جي قانون کي اسان لاءِ سازگار بڻايو آهي. فطرت جا قانون جيڪڏهن اسان سان سازگاري نہ ڪن تہ نہ اسان جا ٻيڙا سمنڊ ۾ ۽ نہ اسان جا جهاز هوا ۾ اڏامن.

زندگي جي هر واقعي ۾ نصيحت آهي. پر واقعن مان نصيحت وٺڻ لاءِ صبر ۽ شڪر جو مزاج ضروري آهي. زندگي ۾ ڪڏهن تڪليف پيش ايندي آهي ۽ ڪڏهن آرام. تڪليف جي وقت ماڻهو کي ظاهري حالتن کان متاثر نہ ٿيڻ گهرجي تہ جيئن هو واقعي کي ٻئي رخ سان ڏسي سگهي ۽ اها شيءِ صبر جي بغير ممڪن نہ آهي، اهڙي طرح آرام جي وقت ان کي گهرجي تہ بظاهر پنهنجي ڪوشش سان ملڻ واري شيءِ کي الله طرفان مليل سمجهي ۽ ايئن اُهو ئي ماڻهو ڪري سگهي ٿو، جنهن ۾ اُهو اعليٰ شعور پيدا ٿي چڪو هجي، جنهن کي شڪر چيو ويندو آهي.

نشانين ۾ جهڳڙو ڪرڻ اِهو آهي تہ جڏهن ڪنهن واقعي ۾ خدائي نصيحت جي نشاندهي ڪئي وڃي تہ ماڻهو ان کي نہ مڃي ۽ واقعي کي ٻي معنيٰ ڏيڻ جي ڪوشش ڪري. اهڙا ماڻهو الله جي نظر ۾ سرڪش آهن ۽ ڪنهن جي سرڪشي صرف موجوده دنيا ۾ هلي سگهي ٿي، اها آخرت ۾ هرگز نہ هلي سگهندي.

فَمَآ اُوْتِيْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَمَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَ مَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ وَّ اَبْقٰى لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ۝٣٦

پوءِ توهان کي جيڪو ڪجھ ڏنو ويو آهي سو فقط دنيا جي زندگي جو (ٿورو) سامان آهي ۽ جيڪو ڪجھ الله وٽ آهي سو وڌيڪ بهتر ۽ هميشہ رهڻ وارو آهي. انهن ماڻهن لاءِ جن ايمان آندو ۽ اهي پنهنجي رب تي ڀروسو ڪندا آهن. ٣٦

---

آخرت کي چاهڻ وارو اُهو ئي بڻجي سگهي ٿو، جيڪو الله تي ڀروسو ڪرڻ وارو هجي. جڏهن بہ ماڻهو آخرت ڏانهن وڌي ٿو تہ دنيا جا فائدا ان کي خطري ۾ نظر اچڻ لڳندا آهن. دنيا جون مصلحتون ان جو ساٿ ڇڏينديون نظر اچن ٿيون. اهڙي حالت ۾ جيڪا شيءِ ماڻهو کي آخرت جي رستي تي ثابت قدم رکي ٿي، اُها صرف هي آهي تہ ان کي الله جي وعدن تي ڀروسو هجي. ان کي يقين هجي تہ الله جي لاءِ هو دنيا ۾ جيترو وڃائيندو ان کان تمام گهڻو هو آخرت ۾ الله وٽان حاصل ڪندو.

دنيا جي هر نعمت وقتي آهي ۽ آخرت جون نعمتون ابدي آهن، جيڪي ڪڏهن بہ ختم ٿيڻ واريون نہ آهن ۽ ابدي نعمت جي مقابلي ۾ وقتي نعمت جي ڪا حقيقت نہ آهي.

وَ الَّذِيْنَ يَجْتَنِبُوْنَ كَبٰٓئِرَ الْاِثْمِ وَ الْفَوَاحِشَ وَ اِذَا مَا غَضِبُوْا هُمْ يَغْفِرُوْنَ ۝٣٧ وَ الَّذِيْنَ اسْتَجَابُوْا لِرَبِّهِمْ وَ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ ۠ وَ اَمْرُهُمْ شُوْرٰى بَيْنَهُمْ ۠ وَ مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ

يُنۡفِقُوۡنَ ﴿٣٨﴾ وَ الَّذِيۡنَ اِذَاۤ اَصَابَهُمُ الۡبَغۡيُ هُمۡ يَنۡتَصِرُوۡنَ ﴿٣٩﴾ وَ جَزٰٓؤُا سَيِّئَةٍ سَيِّئَةٌ
مِّثۡلُهَا ۚ فَمَنۡ عَفَا وَ اَصۡلَحَ فَاَجۡرُهٗ عَلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿٤٠﴾ وَ لَمَنِ انۡتَصَرَ
بَعۡدَ ظُلۡمِهٖ فَاُولٰٓئِكَ مَا عَلَيۡهِمۡ مِّنۡ سَبِيۡلٍ ﴿٤١﴾ اِنَّمَا السَّبِيۡلُ عَلَى الَّذِيۡنَ يَظۡلِمُوۡنَ
النَّاسَ وَ يَبۡغُوۡنَ فِي الۡاَرۡضِ بِغَيۡرِ الۡحَقِّ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿٤٢﴾ وَ لَمَنۡ صَبَرَ وَ
غَفَرَ اِنَّ ذٰلِكَ لَمِنۡ عَزۡمِ الۡاُمُوۡرِ ﴿٤٣﴾ ع

۽ اُهي ماڻهو جيڪي وڏن گناهن ۽ بيحيائي کان بچندا آهن ۽ جڏهن انهن کي ڪاوڙ ايندي آهي ته اهي معاف ڪري ڇڏيندا آهن ۽ اهي جن پنهنجي رب جو حڪم مڃيو ۽ نماز قائم ڪئي ۽ اهي پنهنجو ڪم پاڻ ۾ مشوري سان ڪندا آهن ۽ اسان ڪين جيڪو ڪجهه ڏنو آهي ان مان خرچ ڪندا آهن ۽ اهي ماڻهو جڏهن انهن تي ظلم ڪيو ويندو آهي ته هو (مناسب) بدلو وٺندا آهن ۽ برائي جو بدلو اهڙي ئي برائي آهي ۽ جنهن معاف ڪيو ۽ صلح ڪيائين ته ان جو اجر الله جي ذمي آهي. بيشڪ هو ظالمن کي پسند نه ٿو ڪري ۽ جيڪو ماڻهو پاڻ تي ظلم کان پوءِ بدلو وٺي ته اهڙن ماڻهن تي ڪو الزام نه آهي، الزام رڳو انهن تي آهي جيڪي ماڻهن تي ظلم ڪندا آهن ۽ زمين ۾ ناحق سرڪشي ڪندا آهن، اهي ئي ماڻهو آهن جن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ۽ جنهن ماڻهو صبر ڪيو ۽ معاف ڪيائين ته بيشڪ اهو همت جي ڪمن مان آهي. ٣٧-٤٣

---

ايمان جڏهن حقيقي معنيٰ ۾ ڪنهن کي حاصل ٿيندو آهي ته هو ان جي اندر انقلاب پيدا ڪندو آهي. ان جي اندر هڪ نئين شخصيت پيدا ٿيندي آهي. هتي جنهن الله جي ٻانهي جي صفتن جو ذڪر آهي، اهي سڀ اهي ئي آهن جيڪي ان ايماني شخصيت ٺهڻ جي نتيجي ۾ ڪنهن جي اندر ظاهر ٿينديون آهن.

اهڙي ماڻهو جي اندر حقيقت جي اعتراف جو مزاج پيدا ٿيندو آهي. هو خدا جي الله هئڻ ۽ پنهنجي ٻانهي هئڻ جي حيثيت جو اعتراف ڪندي ان حقيقت جي اڳيان جهڪي ويندو آهي، الله جو سڏ بلند ٿيندو آهي ته ان لاءِ ناممڪن ٿي ويندو آهي ته هو ان تي لبيڪ نه چئي، ايمان جو شعور ان کي صحيح ۽ غلط جي باري ۾ حساس بڻائي ڇڏيندو آهي. هو اهوئي ڪندو آهي جيڪو ڪرڻ گهرجي ۽ اهو نه ڪندو آهي جيڪو نه ڪرڻ گهرجي.

پنهنجي ٻانهپ واري حيثيت جو اعتراف ان جي اندر عاجزي پيدا ڪندو آهي، جيڪا ان کان ڪاوڙ، ظلم ۽ سرڪشي جو مزاج ڪسي وٺندي آهي. اهائي عاجزي ان کي مجبور ڪندي آهي ته اجتماعي معاملن ۾ هو ٻين جي مشوري مان فائدو ڪٽي، هو رڳو پنهنجي ذاتي راءِ جي بنياد تي قدم کڻڻ کان پرهيز ڪري. ٻين سان ان جو رشتو خيرخواهي جو هوندو آهي نه وري ضد ۽ استحصال جو.

اهڙو ماڻهو ٻين جي خلاف ڪڏهن به اڳرائي نه ٿو ڪري. ٻين جي خلاف هو جڏهن به قدم کڻندو آهي ته دفاع طور کڻندو آهي ۽ اوترو ئي قدم کڻندو آهي جيترو ظلم روڪڻ لاءِ ضروري هجي. هو ڪاوڙ ڏياريندڙ حالتن ۾ به ان لاءِ تيار هوندو آهي ته ماڻهن کي معاف ڪري ڇڏي ۽ ماڻهن ان سان جيڪا برائي ڪئي آهي ان کي وساري ڇڏي.

مؤمن ٻانهو اهي سڀ ڪم پنهنجي ايمان جي جذبي ڪري ڪندو آهي ۽ الله ان جي قدر اهڙي

طرح فرمائيندو آهي جو ان ڪي همت ۽ وڏي عزم وارن جي خطاب سان نوازيندو آهي ۽ ان ڪي هميشہ جي نعمتن وارن باغن ۾ داخل ڪندو آهي.

وَ مَنۡ يُّضۡلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنۡ وَّلِيٍّ مِّنۡۢ بَعۡدِهٖ ؕ وَتَرَى الظّٰلِمِيۡنَ لَمَّا رَاَوُا الۡعَذَابَ يَقُوۡلُوۡنَ هَلۡ اِلٰى مَرَدٍّ مِّنۡ سَبِيۡلٍ ۚ﴿۴۴﴾ وَ تَرٰهُمۡ يُعۡرَضُوۡنَ عَلَيۡهَا خٰشِعِيۡنَ مِنَ الذُّلِّ يَنۡظُرُوۡنَ مِنۡ طَرۡفٍ خَفِيٍّ ؕ وَ قَالَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِنَّ الۡخٰسِرِيۡنَ الَّذِيۡنَ خَسِرُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ وَ اَهۡلِيۡهِمۡ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ الظّٰلِمِيۡنَ فِىۡ عَذَابٍ مُّقِيۡمٍ ﴿۴۵﴾ وَ مَا كَانَ لَهُمۡ مِّنۡ اَوۡلِيَآءَ يَنۡصُرُوۡنَهُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ ؕ وَ مَنۡ يُّضۡلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنۡ سَبِيۡلٍ ؕ﴿۴۶﴾

۽ جنهن ماڻهو کي الله گمراهہ ڪري تہ ان ڪان پوءِ ان جو ڪو ڪارساز نہ آهي ۽ تون ظالمن کي ڏسندين تہ جڏهن اهي عذاب کي ڏسندا تہ چوندا تہ ڇا واپس وڃڻ جي ڪا صورت آهي ۽ تون ڏسندين تہ اهي دوزخ جي سامهون پيش ڪيا ويندا. تڏهن ذلت سان جهڪيل هوندا، تيڏي اک سان ڏسندا هوندا ۽ ايمان وارا چوندا تہ خساري وارا اهي آهن جن پاڻ کي ۽ پنهنجن گهروارن کي قيامت جي ڏينهن خساري ۾ وڌو. خبردار! ظالم ماڻهو هميشہ جي عذاب ۾ هوندا ۽ انهن لاءِ ڪي بہ مددگار نہ هوندا. جيڪي الله جي مقابلي ۾ سندن مدد ڪن ۽ الله جنهن کي گمراهہ ڪري تنهن لاءِ ڪا واٽ نہ آهي. ٤٤-٤٦

---

هن دنيا ۾ هدايت کي دليل جي ذريعي واضح ڪيو ويندو آهي. اهو ئي هن دنيا لاءِ الله جو قانون آهي. ان جو مطلب اهو آهي تہ هن دنيا ۾ رڳو اهو ماڻهو هدايت حاصل ڪري سگهي ٿو، جيڪو ان صلاحيت جو ثبوت ڏي تہ هو دليل جي زبان ۾ ڳالهہ کي سمجهي سگهي. دليل جي ذريعي ڪنهن ڳالهہ جو ثابت ٿي وڃڻ ان لاءِ ڪافي ٿي وڃي جو هو ان جي اڳيان جهڪي پوي، جيڪي ماڻهو دليل کي نہ مڃن، انهن کي هن دنيا ۾ ڪڏهن بہ هدايت نہ ٿي ملي سگهي.

جيڪو ماڻهو موجوده دنيا ۾ دليل جي اڳيان نہ ٿو جهڪي تہ هو پاڻ کي ان خطري ۾ وجهي ٿو تہ قيامت ۾ ان کي خدائي طاقت جي اڳيان جهڪايو وڃي، پر قيامت ۾ جهڪڻ ڪنهن جي ڪجهہ ڪم نہ ايندو، ڇاڪاڻ اهو جهڪڻ ماڻهو کي ذليل ڪرڻ لاءِ هوندو، نہ وري ان کي انعام جو مستحق بڻائڻ جي لاءِ.

اِسۡتَجِيۡبُوۡا لِرَبِّكُمۡ مِّنۡ قَبۡلِ اَنۡ يَّاۡتِىَ يَوۡمٌ لَّا مَرَدَّ لَهٗ مِنَ اللّٰهِ ؕ مَا لَكُمۡ مِّنۡ مَّلۡجَاٍ يَّوۡمَئِذٍ وَّ مَا لَكُمۡ مِّنۡ نَّكِيۡرٍ ﴿۴۷﴾ فَاِنۡ اَعۡرَضُوۡا فَمَاۤ اَرۡسَلۡنٰكَ عَلَيۡهِمۡ حَفِيۡظًا ؕ اِنۡ عَلَيۡكَ اِلَّا الۡبَلٰغُ ؕ وَ اِنَّاۤ اِذَاۤ اَذَقۡنَا الۡاِنۡسَانَ مِنَّا رَحۡمَةً فَرِحَ بِهَا ۚ وَ اِنۡ تُصِبۡهُمۡ سَيِّئَةٌۢ بِمَا قَدَّمَتۡ اَيۡدِيۡهِمۡ فَاِنَّ الۡاِنۡسَانَ كَفُوۡرٌ ﴿۴۸﴾

توهان پنهنجي رب جو حڪم قبول ڪريو ان ڪان اڳ جو اهڙو ڏينهن اچي وڃي جنهن کي الله طرفان ڪڏهن بہ ٽرڻو نہ آهي. ان ڏينهن توهان لاءِ نہ ڪا پناهہ هوندي ۽ نہ توهان لاءِ ڪو انڪار (جي گنجائش). پوءِ جيڪڏهن اُهي منهن موڙين تہ اسان توکي متن نگهبان ڪري نہ موڪليو آهي. تُنهنجي ذمي صرف

(پيغام) پهچائڻ آهي ۽ انسان کي جڏهن اسان پنهنجي رحمت سان نوازيندا آهيون تہ هو ان تي خوش ٿيندو آهي ۽ جيڪڏهن سندس عملن جي بدلي ۾ ان تي ڪا مصيبت ايندي آهي تہ ماڻهو ناشڪري ڪرڻ لڳندو آهي. ٤٧-٤٨

---

موجوده دنيا ۾ ماڻهو جو اصل امتحان اهو آهي تہ جيڪا صورتحال بہ ان جي سامهون اچي تہ هو ان ۾ صحيح ردعمل پيش ڪري، پر انسان ائين نہ ٿو ڪري. ان کي جڏهن ڪا ڪاميابي ملندي آهي تہ هو فخر ۽ تڪبر جي نفسيات ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن هو ڪنهن مصيبت ۾ هوندو آهي تہ هو منفي جذبن جو اظهار ڪرڻ لڳندو آهي.

هي اُهي ماڻهو آهن جيڪي حق جي دعوت جي مقابلي ۾ صحيح ردعمل پيش نہ ٿا ڪن. سندن غيرحقيقت پسند مزاج هتي بہ ڪين غيرحقيقت پسند بڻائي ڇڏيندو آهي، حق جي دعوت لاءِ صحيح ردعمل اهو آهي تہ ماڻهو فوراً ان جي حق هئڻ جو اعتراف ڪري، پر ماڻهو ايئن ڪندو آهي جو هو ان کي پنهنجي عزت ۽ انا جو مسئلو بڻائي وٺندو آهي. هو سمجهي ٿو تہ حق جي دعوت کي ميجي آئون ان کي پيش ڪرڻ واري جي سامهون گهٽ ٿي پوندس. اهو احساس ان کي حق کي قبول ڪرڻ جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻجي ويندو آهي. هو ان جي صداقت تي يقين ڪرڻ جي باوجود پنهنجي ذاتي مصلحتن جي ڪري ان کي نظرانداز ڪري ڇڏي ٿو.

لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ يَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ اِنَاثًا وَّ يَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ الذُّكُوْرَ ﴿٤٩﴾ اَوْ يُزَوِّجُهُمْ ذُكْرَانًا وَّ اِنَاثًا ۚ وَ يَجْعَلُ مَنْ يَّشَآءُ عَقِيْمًا ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌ قَدِيْرٌ ﴿٥٠﴾

آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله لاءِ آهي، جيڪو چاهي ٿو پيدا ڪري ٿو. هو جنهن کي چاهي ٿو ڌيئرون عطا ڪري ٿو ۽ جنهن کي چاهي ٿو پُٽ عطا ڪري ٿو يا ڪين پٽ ۽ ڌيئرون گڏ ڏيندو آهي ۽ جنهن کي چاهي ٿو بي اولاد رکي ٿو بيشڪ اهو ڄاڻندڙ وس وارو آهي. ٤٩-٥٠

---

دين جي بنياد ان تصور تي قائم آهي تہ هن ڪائنات ۾ هر قسم جو اختيار صرف هڪ الله کي حاصل آهي. ان کان سواءِ ڪنهن وٽ ڪو اختيار نہ آهي. چاهي اِهو زمين ۽ آسمان جي نظام کي هلائڻو هجي يا هڪ انسان کي اولاد عطا ڪرڻ. ماڻهو کي جيڪو ڪجهہ ملي ٿو خدا جي ڏيڻ سان ملي ٿو ۽ اهو ئي جڏهن چاهي ٿو ان کان کسي ٿو وٺي.

الله جي باري ۾ اهو عقيدو ئي ماڻهو جي اندر اهو صحيح احساس پيدا ڪري ٿو جنهن کي ”ٻانهپ“ چئبو آهي ۽ خدا جي باري ۾ اهو عقيدو ئي ماڻهو کي مجبور ڪري ٿو تہ هو پنهنجي زندگي ۾ ان طريقي کي اپنائي جنهن جو شريعت الاهي ۾ حڪم ڏنو ويو آهي.

وَ مَا كَانَ لِبَشَرٍ اَنْ يُّكَلِّمَهُ اللّٰهُ اِلَّا وَحْيًا اَوْ مِنْ وَّرَآئِ حِجَابٍ اَوْ يُرْسِلَ رَسُوْلًا فَيُوْحِيَ

بِاِذۡنِهٖ مَا يَشَآءُ ؕ اِنَّهٗ عَلِیٌّ حَكِيۡمٌ ﴿۵۱﴾ وَ كَذٰلِكَ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡكَ رُوۡحًا مِّنۡ اَمۡرِنَا ؕ مَا كُنۡتَ
تَدۡرِیۡ مَا الۡكِتٰبُ وَ لَا الۡاِيۡمَانُ وَ لٰكِنۡ جَعَلۡنٰهُ نُوۡرًا نَّهۡدِیۡ بِهٖ مَنۡ نَّشَآءُ مِنۡ عِبَادِنَا ؕ وَ
اِنَّكَ لَتَهۡدِیۡۤ اِلٰی صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ ﴿ۙ۵۲﴾ صِرَاطِ اللّٰهِ الَّذِیۡ لَهٗ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِی
الۡاَرۡضِ ؕ اَلَاۤ اِلَی اللّٰهِ تَصِيۡرُ الۡاُمُوۡرُ ﴿۵۳﴾

۽ ڪنهن ماڻهو لاءِ ٿيڻو ئي نہ آهي تہ الله ان سان ڪلام ڪري، پر وحي جي ذريعي يا پردي جي پويان يا هو ڪنهن فرشتي کي موڪلي جو هو وحي ڪري ان جي حڪم سان جيڪو هو چاهي. بيشڪ اهو سڀني کان مٿانهون آهي حڪمت وارو آهي ۽ اهڙي طرح اسان توڏانهن بہ وحي ڪئي آهي، هڪ روح پنهنجي حڪم سان تون نہ ڄاڻندو هئين تہ ڪتاب ڇا آهي ۽ نہ ڄاڻندو هئين تہ ايمان ڇا آهي، پر اسان ان کي هڪ نور بڻايو. ان سان اسان هدايت ڏيندا آهيون پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي چاهيندا آهيون ۽ بيشڪ تون هڪ سڌي واٽ ڏانهن رهنمائي ڪري رهيو آهين. ان الله جي واٽ ڏانهن جنهن جو اهو سڀ ڪجھ آهي جيڪو آسمانن ۽ زمين ۾ آهي. خبردار! سڀئي ڪم الله ڏانهن ئي موٽڻ وارا آهن. ٥١-٥٣

---

دنيا ۾ ڪو انسان براهِ راست الله سان هم ڪلام نہ ٿو ٿي سگهي. انسان جو عجز ان قسم جي ڪلام ۾ رڪاوٽ آهي، تنهن ڪري پيغمبرن تي جيڪو ڪلام نازل ٿيو اهو بلواسطہ انداز ۾ نازل ٿيو. بلواسطہ خطاب جا ڪيترائي طريقا آهن. ان جا مثال مختلف پيغمبرن جي زندگين ۾ ملن ٿا.

هڪ عالم جڏهن ڪو ڪتاب لکندو آهي يا هڪ مفڪر جڏهن ڪلام پيش ڪندو آهي تہ ان جي ماضي ۾ اهڙا اسباب موجود هوندا آهن، جيڪي ان جي علمي ۽ فڪري ڪارنامي جا سبب بڻجندا آهن، پر پيغمبر جو معاملو ان کان بلڪل مختلف هوندو آهي، پيغمبر جي نبوت کان پوءِ واري زندگي ان جي نبوت کا اڳ جي زندگي کان سراسر مختلف هوندي آهي. غير پيغمبر جي حال جو ڪلام ان جي ماضي جي زندگيءِ جو تسلسل نظر ايندو آهي، پر پيغمبر جي زبان مان نبوت کان پوءِ جيڪو ڪلام جاري ٿيندو آهي، اهو ان جي نبوت کان اڳ واري ڪلام کان ايترو گهڻو ممتاز هوندو آهي جو پيغمبر جي ماضي واري ڪلام سان اُن جي ڀيٽ نٿي ٿي سگهي.

اها واضح ڳالھ آهي جيڪا هي ثابت ڪري ٿي تہ پيغمبر جو ڪلام الله جو ڪلام آهي، نہ وري عام انساني ڪلام.

پيغمبر محمدﷺ سان هڪ اها خاص ڳالھ آهي تہ پاڻﷺ جو ڏنل قرآن ۽ پاڻﷺ جي پنهنجي زبان وارو ڪلام ٻئي اڄ بہ پنهنجي اصل حالت ۾ موجود آهي ڪو ماڻهو جيڪو عربي زبان ڄاڻندو هجي ۽ هو انهن ٻنهي جو تقابلي طور جائزو وٺي تہ هو ٻنهي جي وچ ۾ واضح فرق لهندو. حديث جي زبان واضح طور تي محمدﷺ بن عبدالله جي زبان آهي ۽ قرآن جي زبان واضح طور تي الله جي زبان.

(٤٣) سُوْرَةُ الزُّخْرُفِ مَكِّيَّةٌ (٦٣) اٰياتها ٨٩ ركوعاتها ٧

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

حٰمٓ ﴿۱﴾ وَ الۡکِتٰبِ الۡمُبِیۡنِ ﴿۲﴾ اِنَّا جَعَلۡنٰہُ قُرۡءٰنًا عَرَبِیًّا لَّعَلَّکُمۡ تَعۡقِلُوۡنَ ﴿۳﴾ وَ اِنَّہٗ فِیۡۤ اُمِّ
الۡکِتٰبِ لَدَیۡنَا لَعَلِیٌّ حَکِیۡمٌ ﴿۴﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

حٰم. قسم آهي هن واضح ڪتاب جو. اسان هن کي عربي زبان جو قرآن ڪيو آهي ته جيئن توهان سمجهو ۽ بيشڪ اهو اصل ڪتاب ۾ اسان وٽ آهي، وڏي مرتبي وارو حڪمت وارو آهي. ١-٤

اُم الڪتاب مان مراد لوح محفوظ آهي، جيڪو الله وٽ آهي. لوح محفوظ ۾ الله تعاليٰ ان اصل دين کي نقش ڪري رکيو آهي، جيڪو ان کي انسانن کان گهربل آهي. اهو ئي اصل دين مختلف زبانن ۾ مختلف پيغمبرن تي نازل ٿيو ۽ اهو پيغمبر محمدﷺ تي عربي زبان ۾ نازل ٿيو. هاڻي عربي قرآن ئي موجوده دنيا ۾ الله جي اصل دين جو نمائندو آهي. هاڻي قرآن وارن جي اها ذميواري آهي ته هو ان کي دنيا جي هر زبان ۾ ترجمو ڪري ان کي سيني قومن تائين پهچائين، ته جيئن هن دين کي عربن سمجهو آهي. اهڙي طرح ٻيا ماڻهو به سمجهي سگهن.

قرآن جو بلند مرتبي وارو ۽ حڪمت وارو هجڻ ان جي ڪتاب الاهي هئڻ جو ثبوت آهي. قرآن جي زبان ۽ اُن جا مضمون الله جي معيار مطابق آهن ۽ اهو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته هو الله جو ڪتاب آهي. قرآن جيڪڏهن انساني ڪلام هجي ها ته ان ۾ غيرمعمولي عظمت نه هجي ها، جيڪا ان ۾ ڏسڻ ۾ پئي اچي.

اَفَنَضۡرِبُ عَنۡکُمُ الذِّکۡرَ صَفۡحًا اَنۡ کُنۡتُمۡ قَوۡمًا مُّسۡرِفِیۡنَ ﴿۵﴾ وَ کَمۡ اَرۡسَلۡنَا مِنۡ نَّبِیٍّ
فِی الۡاَوَّلِیۡنَ ﴿۶﴾ وَ مَا یَاۡتِیۡہِمۡ مِّنۡ نَّبِیٍّ اِلَّا کَانُوۡا بِہٖ یَسۡتَہۡزِءُوۡنَ ﴿۷﴾ فَاَہۡلَکۡنَاۤ اَشَدَّ مِنۡہُمۡ
بَطۡشًا وَّ مَضٰی مَثَلُ الۡاَوَّلِیۡنَ ﴿۸﴾

ڇا اسان توهان کان نصيحت ان ڪري روڪي ڇڏينداسون جو توهان حد کان لنگهندڙ قوم آهيو ۽ اسان اڳين (قومن) ۾ گهڻائي نبي موڪليا ۽ انهن ماڻهن وٽ ڪو نبي نه آيو جنهن جو انهن مذاق نه اڏايو هجي، پوءِ جيڪي ماڻهو انهن (قريش) کان سگهه ۾ وڌيڪ هئا ڪين ناس ڪيوسون ۽ اڳين جا مثال گذري چڪا آهن. ٥-٨

اڄ جي دنيا ۾ بي شمار اهڙا ماڻهو ملن ٿا جيڪي اڳين پيغمبرن جو نالو عزت سان وٺندا آهن. ان ڪري اها ڳالهه عجيب لڳندي آهي ته اڳين پيغمبرن ۽ محمدﷺ جو سندن زماني جي ماڻهن مذاق ڇو اڏايو. ان جو سبب اِهو نه آهي جو اڳيان ماڻهو غيرمهذب يا جهنگلي هئا ۽ اڄ جا ماڻهو مهذب آهن.

بلڪ اهو صرف زماني جو فرق آهي. اڄ ڊگهي مدت گذرڻ کان پوءِ پيغمبر سان گڏ تاريخي عظمت جو زور بہ شامل ٿي چڪو آهي، ان ڪري اڄ هر ظاهر کي سچاڻ وارو پيغمبر کي تاريخ جي حوالي سان سڃاڻي ٿو وٺي، پر پيغمبر پنهنجي زماني جي ماڻهن کي رڳو هڪ عام انسان نظر ايندو هو، ان وقت پيغمبر جي پيغمبر واري حيثيت کي سڃاڻڻ لاءِ حقيقت کي سڃاڻڻ واري نظر گهربل هئي ۽ بيشڪ حقيقت کي سڃاڻڻ واري نظر دنيا ۾ هميشہ سڀني کان گهٽ هوندي آهي.

حق جي دعوت کي ٻڌڻ وارا چاهي ڪيترو نہ غلط رويو اختيار ڪن، داعي صبر سان پنهنجو دعوتي عمل جاري رکندو آهي، ايستائين جو اهو وقت اچي وڃي جڏهن الله پنهنجي طرفان ڪو فيصلو ڪري ڇڏي.

وَ لَئِنۡ سَاَلۡتَهُمۡ مَّنۡ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ لَيَقُوۡلُنَّ خَلَقَهُنَّ الۡعَزِيۡزُ الۡعَلِيۡمُ ۙ﴿۹﴾
الَّذِيۡ جَعَلَ لَكُمُ الۡاَرۡضَ مَهۡدًا وَّ جَعَلَ لَكُمۡ فِيۡهَا سُبُلًا لَّعَلَّكُمۡ تَهۡتَدُوۡنَ ۚ﴿۱۰﴾ وَ الَّذِيۡ
نَزَّلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءًۢ بِقَدَرٍ ۚ فَاَنۡشَرۡنَا بِهٖ بَلۡدَةً مَّيۡتًا ۚ كَذٰلِكَ تُخۡرَجُوۡنَ ﴿۱۱﴾ وَ الَّذِيۡ
خَلَقَ الۡاَزۡوَاجَ كُلَّهَا وَ جَعَلَ لَكُمۡ مِّنَ الۡفُلۡكِ وَ الۡاَنۡعَامِ مَا تَرۡكَبُوۡنَ ۙ﴿۱۲﴾ لِتَسۡتَوٗا عَلٰى
ظُهُوۡرِهٖ ثُمَّ تَذۡكُرُوۡا نِعۡمَةَ رَبِّكُمۡ اِذَا اسۡتَوَيۡتُمۡ عَلَيۡهِ وَ تَقُوۡلُوۡا سُبۡحٰنَ الَّذِيۡ سَخَّرَ لَنَا
هٰذَا وَ مَا كُنَّا لَهٗ مُقۡرِنِيۡنَ ۙ﴿۱۳﴾ وَ اِنَّاۤ اِلٰى رَبِّنَا لَمُنۡقَلِبُوۡنَ ﴿۱۴﴾

۽ جيڪڏهن تون انهن کان پڇين تہ آسمانن ۽ زمين کي ڪنهن پيدا ڪيو تہ هو چوندا تہ انهن کي زبردست ڄاڻندڙ پيدا ڪيو. جنهن توهان لاءِ زمين کي وڇائو بڻايو ۽ توهان لاءِ ان ۾ رستا بڻايا، تہ جيئن توهان راهہ لهو ۽ جنهن آسمان مان اندازي سان پاڻي وسايو، پوءِ ان سان مئل زمين کي زندهہ ڪيو، اهڙي طرح توهان ڪڍيا ويندو ۽ جنهن هر قسم جا جوڙا بڻايا ۽ توهان لاءِ ٻيڙيون ۽ اهي جانور بڻايا جن تي توهان سواري ڪريو ٿا، تہ جيئن انهن جي پٺين تي سڌا ٿي ويهو پوءِ جڏهن مٿن ويهو تہ پنهنجي رب جي نعمت کي ياد ڪريو ۽ چئو تہ پاڪ آهي اهو جنهن انهن شين کي اسان جي وس ۾ ڪري ڇڏيو ۽ اسان اهڙا نہ هئاسون جو انهن کي قابو ڪري سگهون ۽ بيشڪ اسان پنهنجي رب ڏانهن موٽڻ وارا آهيون. ٩-١٤

---

هر زماني ۾ اڪثر انسان اهو مڃيندا رهيا آهن تہ ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ الله آهي ۽ اهوئي آهي، جنهن اسان کي زندگي جا سڀئي سامان ڏنا آهن. ڪائنات کي وجود ۾ آڻڻ، زمين تي زندگي جي سامان جي فراهمي ايترو وڏو ڪم آهي جو ڪنهن ماڻهو لاءِ ناممڪن آهي جو هو ان کي هڪ الله کان سواءِ ٻئي ڏانهن منسوب ڪري سگهي.

ان اقرار جو تقاضو آهي تہ انسان سڀني کان وڌيڪ الله ڏانهن متوجهہ ٿئي. ان جي زندگي الله واري زندگي بڻجي وڃي، پر انسان ٻين شين کي پنهنجو مقصد بڻائي ٿو ۽ هو غيرالله کي پنهنجي توجهہ جو مرڪز بڻائي ٿو وٺي.

الله تعاليٰ حقيقت کي پنهنجن پيغمبرن جي ذريعي واضح ڪيو آهي. ان ئي سان گڏ ان دنيا جي

تخليق اهڙي طرح ڪئي آهي جو اها اصل حقيقت جي عملي مثال بڻجي وئي آهي. مثال طور اها هڪ حقيقت آهي تہ انسان ڪي مري ٻيهر زنده ٿيڻو آهي. ان حقيقت ڪي پوڪ جي سطح تي بار بار ڏيکاريو پيو وڃي. انسان هر سال ڏسي ٿو تہ زمين خشڪ ٿي وئي، ان ڪان پوءِ مينهن پيو ۽ زمين ٻيهر سرسبز ٿي ويندي آهي، اهو هڪ اشارو آهي تہ اهڙي طرح انسان بہ مرڻ ڪان پوءِ ٻيهر زنده ڪيو ويندو.

موجوده دنيا جي ٻي خاص ڳالهہ اها آهي تہ اها حيرت انگيز طور تي انسان جي موافق آهي. هتي جون سيئي شيون ان انداز ۾ بڻايون ويون آهن جو انسان انهن ڪي جهڙي طرح چاهي پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪري، ان جو تقاضو آهي تہ ماڻهو جي اندر شڪر جو جذبو پيدا ٿئي. هو جڏهن الله جي دنيا جي ڪنهن شيءِ ڪي پاڻ لاءِ استعمال ڪري تہ ان جو دل الله جي اڳيان جهڪي وڃي ۽ ان جي زبان مان اعتراف ۽ دعا جا ڪلما جاري ٿي وڃن.

وَ جَعَلُوْا لَهٗ مِنْ عِبَادِهٖ جُزْءًا ؕ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَكَفُوْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٥﴾ اَمِ اتَّخَذَ مِمَّا يَخْلُقُ بَنٰتٍ وَّ اَصْفٰىكُمْ بِالْبَنِيْنَ ﴿١٦﴾ وَ اِذَا بُشِّرَ اَحَدُهُمْ بِمَا ضَرَبَ لِلرَّحْمٰنِ مَثَلًا ظَلَّ وَجْهُهٗ مُسْوَدًّا وَّ هُوَ كَظِيْمٌ ﴿١٧﴾ اَوَ مَنْ يُّنَشَّؤُا فِي الْحِلْيَةِ وَ هُوَ فِي الْخِصَامِ غَيْرُ مُبِيْنٍ ﴿١٨﴾ وَ جَعَلُوا الْمَلٰٓئِكَةَ الَّذِيْنَ هُمْ عِبٰدُ الرَّحْمٰنِ اِنَاثًا ؕ اَشَهِدُوْا خَلْقَهُمْ ؕ سَتُكْتَبُ شَهَادَتُهُمْ وَ يُسْـَٔلُوْنَ ﴿١٩﴾

۽ انهن ماڻهن الله لاءِ سندن ٻانهن مان اولاد مقرر ڪيو. بيشڪ انسان پڌرو بي شڪر آهي. ڇا الله پنهنجي مخلوق مان ڌيئرون پسند ڪيون ۽ توهان ڪي پٽن سان نوازيو ۽ جڏهن انهن مان ڪنهن ڪي انهيءَ شيءِ (ڌيءَ) جي خبر ڏني وڃي ٿي جنهن ڪي هو رحمان ڏانهن منسوب ڪري ٿو، تڏهن سندس منهن ڪارو ٿي ويندو آهي ۽ هو ڏک ۾ پرجي ويندو آهي، ڇا اها جيڪا آرائش ۾ پلجي ۽ جهڳڙي ۾ ڳالهہ بہ نہ ڪري سگهي ۽ ملائڪ جيڪي رحمان جا ٻانها آهن، انهن ڪي عورت مقرر ڪيو اٿن. ڇا اهي سندن پيدائش جي وقت موجود هئا. سندن اها شاهدي لکي ويندي ۽ انهن ڪان پڇا ٿيندي. ١٥-١٩

---

الله سان غير الله ڪي شريڪ ڪرڻ جي هڪ صورت اها آهي تہ ماڻهو ڪنهن ڪي الله جي ذات ۾ شريڪ قرار ڏي، مثلاً فرشتن ڪي الله جون ڌيئرون مڃڻ حضرت عيسيٰ ڪي الله جو پٽ چوڻ يا وحدت الوجود جو نظريو جيڪو سيني ڪي الله جو جز قرار ڏئي ڪري ڪائنات جي تشريح ڪندو آهي. اهڙي قسم جا سيئي عقيدا رڳو بي بنياد مفروضا آهن. انهن جي حق ۾ ڪوبہ حقيقي دليل موجود نہ آهي.

هتي عورت جي جنسي خاصيتن ڪي ٻن جامع لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هڪ اهو تہ ان جي طبيعت آرائش ۽ سينگار ڪي پسند ڪري ٿي، ٻيو اهو تہ هو مقابلي جي وقت واضح انداز ۾ ڪلام نہ ٿي ڪري سگهي. عورت جي اندر اها ڪمي هڪ حقيقت آهي، ان ڪري اسلام ۾ ذميداري ڪي اهڙي طرح تقسيم ڪيو ويو آهي تہ مرد ٻاهرين ڪمن جو ذميدار آهي ۽ عورت گهرجي اندرين ڪمن جي ذميدار آهي.

وَ قَالُوْا لَوْ شَآءَ الرَّحْمٰنُ مَا عَبَدْنٰهُمْ ؕ مَا لَهُمْ بِذٰلِكَ مِنْ عِلْمٍ ۗ اِنْ هُمْ اِلَّا

يَخْرُصُوْنَ ۝٢٠ اَمْ اٰتَيْنٰهُمْ كِتٰبًا مِّنْ قَبْلِهٖ فَهُمْ بِهٖ مُسْتَمْسِكُوْنَ ۝٢١ بَلْ قَالُوْٓا اِنَّا
وَجَدْنَآ اٰبَآءَنَا عَلٰٓى اُمَّةٍ وَّاِنَّا عَلٰٓى اٰثٰرِهِمْ مُّهْتَدُوْنَ ۝٢٢ وَكَذٰلِكَ مَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ
فِيْ قَرْيَةٍ مِّنْ نَّذِيْرٍ اِلَّا قَالَ مُتْرَفُوْهَآ ۙ اِنَّا وَجَدْنَآ اٰبَآءَنَا عَلٰٓى اُمَّةٍ وَّاِنَّا عَلٰٓى اٰثٰرِهِمْ
مُّقْتَدُوْنَ ۝٢٣ قٰلَ اَوَلَوْ جِئْتُكُمْ بِاَهْدٰى مِمَّا وَجَدْتُّمْ عَلَيْهِ اٰبَآءَكُمْ ۭ قَالُوْٓا اِنَّا بِمَآ
اُرْسِلْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ ۝٢٤ فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ۝٢٥

۽ هو چوندا آهن ته جيڪڏهن رحمان چاهي ها ته اسان انهن جي عبادت نه ڪريون ها. ڪين ان ڳالهه جو ڪو علم نه آهي اهي رڳو اٽڪلون ڪندا آهن. ڇا اسان ڪين ان (قرآن) کان اڳ ڪو ڪتاب ڏنو هو جو انهن ان کي مضبوطي سان جهلي رکيو آهي. بلڪ اهي چوندا آهن ته اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي هڪ طريقي تي ڏٺو ۽ اسان سندن نقش قدم تي هلي رهيا آهيون ۽ اهڙي طرح اسان تو کان اڳ ڪنهن وسندي ۾ ڪو ڊيڄاريندڙ موڪليو ته ان جي آسوده ماڻهن چيو ته اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي هڪ طريقي تي ڏٺو آهي ۽ اسان سندن نقش قدم تي هلي رهيا آهيون. ڊيڄاريندڙ چيو جيتوڻيڪ آئون ان کان وڌيڪ صحيح رستو توهان کي ٻڌايان جنهن تي توهان پنهنجن ابن ڏاڏن کي ڏٺو. انهن چيو اسان ان جا منڪر آهيون جيڪو ڏئي تو کي موڪليو ويو آهي، پوءِ اسان انهن کان انتقام ورتو، پوءِ ڏس ته ڪوڙن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي. ٢٠-٢٥

---

موجوده دنيا ۾ انسان جيڪو به ڪم ڪرڻ چاهي ٿو ان جو موقعو ڪيس ملي ٿو وڃي. ان سان اڪثر ماڻهو ان غلط فهمي ۾ پئجي ويندا آهن ته اهي جيڪو ڪجهه ڪري رهيا آهن صحيح ڪري رهيا آهن، جيڪڏهن هو غلطي تي هجن ها ته پنهنجي طريقي کي هلائڻ ۾ ڪامياب نه ٿين ها. اهڙي قسم جون ڳالهيون اڪثر اهي ماڻهو ڪندا آهن جن کي خوشحال طبقو چيو ويندو آهي.

پر اها وڏي غلط فهمي آهي. موجوده دنيا ۾ هر طريقي جو هلي پوڻ ان ڪري آهي جو هتي امتحان جي آزادي آهي، آخرت جي دنيا ۾ امتحان جو وقت ختم ٿي ويندو، ان ڪري اتي ڪنهن لاءِ اهو موقعو به باقي نه رهندو.

هر دور ۾ پيغمبرن جي دين جو مقابلو سيني کان وڌيڪ آباڻي دين سان پيش آيو. ”آباءِ“ قومن جي نظر ۾ بزرگ جو درجو حاصل ڪري وٺندا آهن، ان جي مقابلي ۾ ان وقت جو پيغمبر انهن کي گهٽ حيثيت جو نظر ايندو آهي. ان ڪري انهن لاءِ ناممڪن ٿي ويندو آهي جو هو وڏن جي دين کي ڇڏي نندي جي دين کي اختيار ڪن، پر انهن گهٽ حيثيت وارن جو انڪار ڪرڻ تي انهن قومن تي اهو عذاب آيو جنهن جي متعلق سندن گمان هو ته اهو رڳو ”وڏن“ جو انڪار ڪرڻ تي اچي سگهي ٿو.

وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ لِاَبِيْهِ وَقَوْمِهٖٓ اِنَّنِيْ بَرَآءٌ مِّمَّا تَعْبُدُوْنَ ۝٢٦ اِلَّا الَّذِيْ فَطَرَنِيْ فَاِنَّهٗ
سَيَهْدِيْنِ ۝٢٧ وَجَعَلَهَا كَلِمَةًۢ بَاقِيَةً فِيْ عَقِبِهٖ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ۝٢٨ بَلْ مَتَّعْتُ هٰٓؤُلَآءِ وَ
اٰبَآءَهُمْ حَتّٰى جَآءَهُمُ الْحَقُّ وَرَسُوْلٌ مُّبِيْنٌ ۝٢٩ وَلَمَّا جَآءَهُمُ الْحَقُّ قَالُوْا هٰذَا سِحْرٌ
وَّاِنَّا بِهٖ كٰفِرُوْنَ ۝٣٠

۽ جڏهن ابراهيم پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم کي چيو ته آئون انهن شين کان بيزار آهيان جن جي توهان عبادت
ڪريو ٿا. پر اهو جنهن مون کي پيدا ڪيو ۽ بيشڪ هو منهنجي رهنمائي ڪندو ۽ ابراهيم اهو ڪلمو پنهنجي
پٺيان پنهنجي اولاد ۾ ڇڏيو، ته جيئن اُهي ان ڏانهن رجوع ڪن. بلڪ مون انهن کي ۽ سندن ابن ڏاڏن کي آسودو
ڪيو ايستائين جو انهن وٽ حق آيو ۽ رسول کولي ٻڌائڻ وارو ۽ جڏهن انهن وٽ حق اچي ويو ته انهن چيو ته هي
جادو آهي ۽ بيشڪ اسان ان جا منڪر آهيون. ٢٦-٣٠

---

هتي حضرت ابراهيمؑ جي جنهن توحيد جي ڪلمي جو ذڪر آهي، اهو سندس دعوتي زندگي جي آخري دور جو آهي. اهو ڪلمو رڳو چند لفظن جو مجموعو نه هو، اهو هڪ عظيم تاريخ جو خلاصو هو. حضرت ابراهيمؑ جڏهن شعور جي عمر کي پهتا ته انهن کي اها دريافت ٿي ته انسان جو معبود صرف هڪ آهي، ان کان سواءِ سڀئي معبود باطل ۽ بي حقيقت آهن. حضرت ابراهيمؑ پنهنجي زندگي جي تعمير ان ئي عقيدي تي ڪئي. خاندان ۽ قوم ۾ ان جي تبليغ ڪئي. هو ڪنهن مصلحت جو لحاظ نه ڪندي هڪ ڊگهي مدت تائين ان ئي تي قائم رهيا، ايستائين جو سندس موحد هئڻ ئي سندس شهرت بڻجي ويو. اهڙي طرح هڪ ڊگهي زندگي گذارڻ کان پوءِ جڏهن هو مٿي ذڪر ڪيل توحيد جو ڪلمو چئي پنهنجي وطن کان روانو ٿيو ته ان جو ڪلمو قدرتي طور تي باقي رهجي وڃڻ وارو ڪلمو بڻجي ويو. اهو هڪ اهڙو واقعو بڻجي ويو جو حضرت ابراهيمؑ جو ذڪر ايندي ئي ماڻهن کي ياد اچي ويندو هو.

حضرت ابراهيمؑ جي ان طاقتور روايت کي ان کان پوءِ جي نسل ۾ سڌي واٽ جي نشان جو ڪم ڏيڻ گهرجي ها، پر دنيا جي دلچسپين پوءِ اچڻ وارن ماڻهن کي ان کان غافل ڪري ڇڏيو، ايستائين جو اهي ان معاملي ۾ ايترا بي شعور ٿي ويا جو بعد جي زماني ۾ جڏهن انهن وٽ الله جو هڪ ٻانهو انهن کي سندن ماضي جو سبق ياد ڏيارڻ لاءِ آيو ته انهن سندس انڪار ڪري ڇڏيو.

وَ قَالُوْا لَوْ لَا نُزِّلَ هٰذَا الْقُرْاٰنُ عَلٰى رَجُلٍ مِّنَ الْقَرْيَتَيْنِ عَظِيْمٍ ﴿٣١﴾ اَهُمْ يَقْسِمُوْنَ
رَحْمَتَ رَبِّكَ ؕ نَحْنُ قَسَمْنَا بَيْنَهُمْ مَّعِيْشَتَهُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَ رَفَعْنَا بَعْضَهُمْ
فَوْقَ بَعْضٍ دَرَجٰتٍ لِّيَتَّخِذَ بَعْضُهُمْ بَعْضًا سُخْرِيًّا ؕ وَ رَحْمَتُ رَبِّكَ خَيْرٌ مِّمَّا
يَجْمَعُوْنَ ﴿٣٢﴾ وَ لَوْ لَاۤ اَنْ يَّكُوْنَ النَّاسُ اُمَّةً وَّاحِدَةً لَّجَعَلْنَا لِمَنْ يَّكْفُرُ بِالرَّحْمٰنِ
لِبُيُوْتِهِمْ سُقُفًا مِّنْ فِضَّةٍ وَّ مَعَارِجَ عَلَيْهَا يَظْهَرُوْنَ ﴿٣٣﴾ وَ لِبُيُوْتِهِمْ اَبْوَابًا وَّ سُرُرًا
عَلَيْهَا يَتَّكِـُٔوْنَ ﴿٣٤﴾ وَ زُخْرُفًا ؕ وَ اِنْ كُلُّ ذٰلِكَ لَمَّا مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ؕ وَ الْاٰخِرَةُ عِنْدَ
رَبِّكَ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿٣٥﴾ ع ٣ / ٩

۽ انهن چيو ته هي قرآن ٻنهي وسندين مان ڪنهن وڏي ماڻهو تي ڇو نه نازل ڪيو ويو. ڇا اهي تنهنجي رب جي رحمت کي تقسيم ڪندا آهن. دنيا جي زندگي ۾ سندن روزي کي ته اسان تقسيم ڪيو آهي ۽ اسان هڪڙن کي ٻين تي فوقيت ڏني آهي، ته جيئن اُهي هڪ ٻئي کان ڪم وٺن ۽ تنهنجي رب جي رحمت ان کان

بهتر آهي جيڪو هي جمع ڪري رهيا آهن ۽ جيڪڏهن ايئن نہ هجي ها جو سيئي ماڻهو هڪ ئي طريقي جا ٿي وڃن تہ جيڪي ماڻهو رحمان جو انڪار ڪن ٿا انهن لاءِ اسان سندن گهرن جون ڇتيون ۽ ڏاڪڻيون جن تي اهي چڙهن ٿا سي چانديءَ جون ڪريون ها ۽ سندن گهرن جا دروازا ۽ تخت جن تي ٽيڪ ڏئي ويهن سي بہ چانديءَ جا ڪِريون ها ۽ ڪي سون جا بہ ۽ اهي شيون تہ صرف دنيا جي زندگي جو سامان آهن ۽ آخرت تنهنجي رب وٽ پرهيزگارن لاءِ آهي. ٣١-٣٥

پيغمبر اسلامﷺ جو جڏهن مڪي ۾ ظهور ٿيو تہ ان وقت هو ماڻهن کي هڪ معمولي انسان نظر آيو. ماڻهن چيو تہ الله کي جيڪڏهن پنهنجو ڪو نمائندو اسان جي هدايت لاءِ موڪلڻو هو تہ ان عرب جي مرڪزي وسندين (مڪو ۽ طائف) جي عظيم شخصيت کي ان لاءِ ڇو نہ چونڊيو. پر اها سندن نظر جي ڪوتاهي هئي. انسان صرف حال کي ڏسي ٿو. جڏهن تہ پيغمبر اسلامﷺ جي عظمت کي سمجهڻ لاءِ مستقبل کي ڏسڻ واري نظر گهرجي ٿي، چاڪاڻ تہ ماڻهن کي ان قسم جي پري ڏسڻ واري نظر حاصل نہ هئي. ان ڪري اهي اسلام جي پيغمبر جي عظمت کي سمجهڻ ۾ ناڪام رهيا.

پيغمبر اسلام کي گهٽ سمجهڻ جو سبب اهو هو تہ پاڻﷺ جي زندگي ۾ مادي شين جي رونق ماڻهن کي ڏسڻ ۾ نہ ايندي هئي، پر ان مادي شين جي الله جي نظر ۾ ڪا اهميت نہ آهي. حقيقت اها آهي تہ اهي شيون الله جي نظر ۾ ايتريون غيراهم آهن جو هو چاهي تہ ماڻهن کي سون ۽ چانديءَ جا ڍڳ ڏئي ڇڏي، پر الله ايئن ان ڪري نہ ڪيو جو ماڻهو انهن شين ۾ اٽڪي رهجي ويندا. اهي ان ڪان اڳيان وڌي حقيقت کي حاصل نہ ڪري سگهندا.

وَ مَنْ يَّعْشُ عَنْ ذِكْرِ الرَّحْمٰنِ نُقَيِّضْ لَهٗ شَيْطٰنًا فَهُوَ لَهٗ قَرِيْنٌ ﴿٣٦﴾ وَ اِنَّهُمْ لَيَصُدُّوْنَهُمْ عَنِ السَّبِيْلِ وَ يَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿٣٧﴾ حَتّٰۤى اِذَا جَآءَنَا قَالَ يٰلَيْتَ بَيْنِيْ وَ بَيْنَكَ بُعْدَ الْمَشْرِقَيْنِ فَبِئْسَ الْقَرِيْنُ ﴿٣٨﴾ وَ لَنْ يَّنْفَعَكُمُ الْيَوْمَ اِذْ ظَّلَمْتُمْ اَنَّكُمْ فِي الْعَذَابِ مُشْتَرِكُوْنَ ﴿٣٩﴾

۽ جيڪو ماڻهو رحمان جي نصيحت کان غافل رهي ٿو تہ اسان ان تي هڪ شيطان مقرر ڪندا آهيون. پوءِ هو ان جو سنگتي بڻجي ويندو آهي ۽ اهي ان کي سڌي واٽ کان جهليندا آهن ۽ اهي ماڻهو سمجهندا آهن تہ اهي هدايت تي آهن. ايستائين جڏهن هو اسان وٽ ايندو تہ هو چوندو ڪاش منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ اوڀر ۽ اولهہ جيترو فاصلو هجي ها. پوءِ ڪيڏو نہ بڇڙو سنگتي هو ۽ جڏهن تہ توهان ظلم ڪري چڪا تہ اڄ اها ڳالهہ توهان کي ڪجھ فائدو نہ ڏيندي جيئن تہ توهان عذاب ۾ هڪ ٻئي جا شريڪ آهيو. ٣٦-٣٩

نصيحت کان منهن موڙڻ اهو آهي تہ ماڻهو حقيقت جي اعتراف نہ ڪري. خدائي حقيقت ان جي سامهون اهڙن دليلن سان اچي جنهن جو هو انڪار نہ ڪري سگهي، پر پوءِ بہ هو پنهنجن فائدن کي بچائڻ خاطر ان کي نظرانداز ڪري ڇڏي.

اهڙو ماڻهو پنهنجي ڳالهہ کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ حق جي خلاف ڪوڙيون ڳالهيون ڪري ٿو. هي اُهو وقت آهي جڏهن شيطان کي موقعو ملي ٿو وڃي تہ هو ان تي مسلط ٿي وڃي. هو ان جي عقل کي

غلط رخ تي هلائي. فرضي دليل ڏئي شيطان ان کي يقين ڏياري ٿو ته تون حق تي آهين. اهو دوکو صرف ان وقت ختم ٿيندو آهي، جڏهن ماڻهو کي موت ايندو آهي ۽ هو الله جي سامهون آخري حساب لاءِ حاضر ڪيو ويندو آهي.

دنيا ۾ ماڻهو جو حال اهو آهي جو هو ان کي پنهنجو دوست ۽ ساٿي بڻائي ٿو، جيڪو ان جي ڪوڙ جي تائيد ڪري، پر آخرت ۾ هو اهڙن سيني ساٿين ۽ سنگتين تي لعنت ڪندو. هو چاهيندو ته اهي ان کان ايترا پري ٿي وڃن جو هو نه سندن شڪل ڏسي ۽ نه سندن آواز ٻڌي.

اَفَاَنْتَ تُسْمِعُ الصُّمَّ اَوْ تَهْدِی الْعُمْیَ وَ مَنْ كَانَ فِیْ ضَلٰلٍ مُّبِیْنٍ ﴿٤٠﴾ فَاِمَّا نَذْهَبَنَّ بِكَ
فَاِنَّا مِنْهُمْ مُّنْتَقِمُوْنَ ﴿٤١﴾ اَوْ نُرِیَنَّكَ الَّذِیْ وَعَدْنٰهُمْ فَاِنَّا عَلَیْهِمْ مُّقْتَدِرُوْنَ ﴿٤٢﴾
فَاسْتَمْسِكْ بِالَّذِیْۤ اُوْحِیَ اِلَیْكَ ۚ اِنَّكَ عَلٰی صِرَاطٍ مُّسْتَقِیْمٍ ﴿٤٣﴾ وَ اِنَّهٗ لَذِكْرٌ لَّكَ وَ
لِقَوْمِكَ ۚ وَ سَوْفَ تُسْـَٔلُوْنَ ﴿٤٤﴾ وَ سْـَٔلْ مَنْ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ مِنْ رُّسُلِنَاۤ اَجَعَلْنَا مِنْ
ع دُوْنِ الرَّحْمٰنِ اٰلِهَةً یُّعْبَدُوْنَ ﴿٤٥﴾

ڇا تون ٻوڙن کي ٻڌائيندين يا تون انڌن کي راهه ڏيکاريندين ۽ انهن کي جيڪي پڌري گمراهي ۾ آهن. پوءِ جيڪڏهن اسان توکي (دنيا مان) کڻي وٺون ته اسان انهن کان بدلو وٺڻ وارا آهيون يا توکي ڏيکاري ڇڏيون اها شيءِ جنهن جو اسان انهن سان وعدو ڪيو آهي. بيشڪ اسان ان تي پوري طرح قادر آهيون. تنهن ڪري تون ان کي مضبوطيءَ سان پڪڙ، جيڪو تو ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي. بيشڪ تون سڌي واٽ تي آهين ۽ بيشڪ اهو (قرآن) تو لاءِ ۽ تنهنجي قوم لاءِ نصيحت آهي ۽ سگهوئي توهان کان پڇا ٿيندي ۽ جن کي اسان توکان اڳ موڪليو تن کان پُڇ ته ڇا اسان رحمان کان سواءِ ڪي ٻيا معبود مقرر ڪيا هئا ته انهن جي عبادت ڪئي وڃي. ٤٠-٤٥

اکين وارو پنهنجون اکيون بند ڪري وٺي ته ان کي ڪجهه نظر نه ايندو. ڪنن وارو پنهنجا ڪن بند ڪري وٺي ته ان کي ڪجهه ٻڌڻ ۾ نه ايندو، اهڙي طرح جيڪو ماڻهو پنهنجي عقل کي استعمال نه ڪري ۽ عقل کي ڇڏي پنهنجي خواهش جي رخ تي هلڻ لڳي ته اهڙي ماڻهو کي سمجهائڻ بلڪل بيڪار هوندو آهي. سمجهڻ جو ڪم عقل جي ذريعي ٿيندو آهي ۽ پنهنجي عقل جي مٿان ان پنهنجن خواهش جو پردو وجهي رکيو آهي، پوءِ به مدعو يعني ٻڌڻ واري جو رويو چاهي کهڙو به هجي، داعي کي پنهنجو دعوتي ڪم هرحال ۾ جاري رکڻو آهي، ايستائين جو هو حجت پوري ٿيڻ جي مرحلي تائين پهچي وڃي.

حق جو داعي جيتوڻيڪ هڪ انسان هوندو آهي، پر حق جو معاملو الله جو معاملو آهي، ماڻهو حق جي داعي جو انڪار ڪري سمجهي ٿو ته هو حق کي ته ميڻ جي ڪري نقصان کان بچي ويو، حالانڪ انهيءَ وقت هو الله جي عتاب هيٺ اچي ويندو آهي، ماڻهو جيڪڏهن ان راز کي ڄاڻي ته هو حق جي داعي کي نظرانداز ڪندي ڏکي وڃي، ڇاڪاڻ ته هو ڄاڻندو ته حق جي داعي کي نظرانداز ڪرڻ خود حق کي نظرانداز ڪرڻ آهي ۽ حق کي نظرانداز ڪرڻ الله کي نظرانداز ڪرڻ آهي.

وَ لَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰی بِاٰیٰتِنَاۤ اِلٰی فِرْعَوْنَ وَ مَلَاۡئِهٖ فَقَالَ اِنِّیْ رَسُوْلُ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ ﴿٤٦﴾

فَلَمَّا جَآءَهُمْ بِاٰيٰتِنَاۤ اِذَا هُمْ مِّنْهَا يَضْحَكُوْنَ۝۴۷ وَ مَا نُرِيْهِمْ مِّنْ اٰيَةٍ اِلَّا هِيَ اَكْبَرُ مِنْ
اُخْتِهَا٘ وَ اَخَذْنٰهُمْ بِالْعَذَابِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ۝۴۸ وَ قَالُوْا يٰۤاَيُّهَ السّٰحِرُ ادْعُ لَنَا رَبَّكَ
بِمَا عَهِدَ عِنْدَكَ ۚ اِنَّنَا لَمُهْتَدُوْنَ۝۴۹ فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُمُ الْعَذَابَ اِذَا هُمْ يَنْكُثُوْنَ۝۵۰

۽ بيشڪ اسان موسيٰ عليہ السلام کي پنهنجن نشانين سان فرعون ۽ سندس سردارن ڏانهن موڪليو ته ان چيو ته آئون جهانن جي پالڻهار جو رسول آهيان. پوءِ جڏهن هو انهن وٽ اسان جي نشانين سان آيو ته هو ان تي کلڻ لڳا ۽ اسان ڪين جيڪا به نشاني ڏيکاري، اها ان جي اڳين کان تمام وڏي هئي ۽ اسان ڪين عذاب ۾ پڪڙيو، ته جيئن اهي رجوع ڪن ۽ انهن چيو اي جادوگر! اسان لاءِ پنهنجي رب کان دعا گهر ان عهد جي وسيلي جيڪو ان تو سان ڪيو آهي ته اسان ضرور راهه تي اچي ويندا سون. پوءِ جڏهن اسان اُهو عذاب انهن تان هٽايو ته انهن عهد ٽوڙي ڇڏيو. ٤٦-٥٠

---

حضرت موسيٰ عليہ السلام فرعون جي سامهون توحيد جي دعوت پيش ڪئي ۽ لٺ ۽ روشن هٿ جو معجزو ڏيکاريو. ان کي ڏسي فرعون ۽ ان جا درباري کلڻ لڳا. ان جو سبب اِهو هو جو انهن موسيٰ عليہ السلام کي سندس دعوت جي نقط نظر کان نه ڏٺو. بلڪ سندس شخصيت جي لحاظ کان ڏٺو ۽ ڪين نظر آيو ته موسيٰ عليہ السلام جي شخصيت بظاهر انهن جي پنهنجي شخصيت کان گهٽ آهي. اهڙي طرح معجزي جي متعلق انهن خيال ڪيو ته اهو رڳو جادو آهي ۽ اهڙو جادو ملڪ جا ڀيا جادوگر به ڏيکاري سگهن ٿا.

حق جي دعوت جي معاملي ۾ هميشه ايئن ٿي ٿيندو آهي. ماڻهو داعي جي شخصيت کي ڏسي دعوت جو انڪار ڪري ڇڏيندا آهن ۽ نشانين کي عام واقعي تي قياس ڪري ان کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن.

فرعون ۽ ان جي ساٿين جڏهن حضرت موسيٰ عليہ السلام جو انڪار ڪيو ته الله تعاليٰ انهن تي ڪيترائي عذاب تنبيهه لاءِ موڪليا، ته جيئن اهي رجوع ڪن. انهن تنبيهه وارن عذابن جو ذڪر سورة الاعراف (١٣٣-١٣٥) ۾ موجود آهي. اهي سيئي عذاب حضرت موسيٰ عليہ السلام جي دعا تي آيا ۽ حضرت موسيٰ عليہ السلام جي دعا تي ختم ٿيا. اهو هڪ وڏيڪ سبب هو جو انهن جي اندر رجوع جي ڪيفيت پيدا ٿي، پر انهن رجوع نه ڪيو. حقيقت اها آهي ته جيڪي ماڻهو دليل نه مڃن، اهي تنبيهه سان به نٿا مڃن، پر اهو جو آخرت جو نه موٽڻ وارو عذاب انهن کي آخري طور پنهنجي گهيري ۾ وٺي ڇڏي .

وَ نَادٰى فِرْعَوْنُ فِيْ قَوْمِهٖ قَالَ يٰقَوْمِ اَلَيْسَ لِيْ مُلْكُ مِصْرَ وَ هٰذِهِ الْاَنْهٰرُ تَجْرِيْ مِنْ
تَحْتِيْ ۚ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ۝۵۱ اَمْ اَنَا خَيْرٌ مِّنْ هٰذَا الَّذِيْ هُوَ مَهِيْنٌ ۙ۬ وَّ لَا يَكَادُ يُبِيْنُ۝۵۲ فَلَوْ
لَاۤ اُلْقِيَ عَلَيْهِ اَسْوِرَةٌ مِّنْ ذَهَبٍ اَوْ جَآءَ مَعَهُ الْمَلٰٓئِكَةُ مُقْتَرِنِيْنَ۝۵۳ فَاسْتَخَفَّ قَوْمَهٗ
فَاَطَاعُوْهُ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ۝۵۴ فَلَمَّاۤ اٰسَفُوْنَا انْتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَاَغْرَقْنٰهُمْ
اَجْمَعِيْنَ۝۵۵ فَجَعَلْنٰهُمْ سَلَفًا وَّ مَثَلًا لِّلْاٰخِرِيْنَ۝۵۶

۽ فرعون پنهنجي قوم کي پڪاريو ۽ چيائين ته اي منهنجي قوم! ڇا مصر جي بادشاهي منهنجي نه آهي ۽ اهي نهرون منهنجي (محل) جي هيٺان وهي رهيون آهن. ڇا توهان نٿا ڏسو بلڪ آئون بهتر آهيان ان شخص کان جنهن کي ڪا عزت نه آهي ۽ چٽو ڳالهائي به نه ٿو سگهي. پوءِ مٿس سون جا ڪنگڻ ڇو نه لاٿا ويا يا ان سان گڏ ملائڪ ڇو نه آيا. پوءِ هن پنهنجي قوم کي بي عقل ڪيو، پوءِ انهن سندس ڳالهه مڃي ورتي. بيشڪ اُهي نافرمان ماڻهو هئا. پوءِ جڏهن انهن اسان کي ڪاوڙ ڏياري ته اسان ڪائن بدلو ورتو ۽ اسان انهن سڀني کي ٻوڙي ڇڏيو. پوءِ اسان انهن کي گذريل زماني جو داستان بڻايو ۽ ٻين لاءِ عبرت جو مثال. ٥١-٥٦

حق جو انڪار ڪرڻ وارن هميشه حق جي داعي جي معمولي حيثيت کي ڏسي حق جو انڪار ڪيو آهي. مصر ۾ فرعون جي حيثيت اها هئي جو هو ملڪ جو حڪمران هو. درياءِ نيل مان نڪرندڙ نهرون ان جي حڪم سان وهنديون هيون. عزت جا سڀئي سامان ان وٽ هئا. ان جي مقابلي ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام بظاهر هڪ معمولي انسان ڏسڻ ۾ ٿي آيو. ان فرق کي پيش ڪري فرعون پنهنجي قوم کي گمراهه ڪيو ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام جو انڪار ڪرڻ ۾ قوم ان سان گڏجي وئي.

بظاهر ان قسم جي دليلن جي بنياد تي فرعون جي قوم فرعون جو ساٿ ڏنو. پر حقيقت اها آهي ته ان جو سبب قوم جي پنهنجي ڪمزوري هئي، نه وري فرعون جي دليلن جي مضبوطي. ان وقت حضرت موسيٰ عليه السلام جو ساٿ ڏيڻ پنهنجي زندگي جو ٺهيل ٺڪيل نقشي کي ٽوڙڻ هو ۽ تمام گهٽ ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جيڪي پنهنجي ٺهيل ٺڪيل نقشي کي ٽوڙي حق جو ساٿ ڏيڻ جي همت ڪن. تنهن ڪري فرعون تي جڏهن حق جي انڪار جي نتيجي ۾ الله جو عذاب آيو ته هن جي قوم به هن سان گڏ عذاب الاهي جي پڪڙ ۾ اچي وئي.

وَ لَمَّا ضُرِبَ ابۡنُ مَرۡيَمَ مَثَلًا اِذَا قَوۡمُكَ مِنۡهُ يَصِدُّوۡنَ ﴿۵۷﴾ وَ قَالُوۡۤا ءَاٰلِهَتُنَا خَيۡرٌ اَمۡ هُوَ ؕ
مَا ضَرَبُوۡهُ لَكَ اِلَّا جَدَلًا ؕ بَلۡ هُمۡ قَوۡمٌ خَصِمُوۡنَ ﴿۵۸﴾ اِنۡ هُوَ اِلَّا عَبۡدٌ اَنۡعَمۡنَا عَلَيۡهِ وَ
جَعَلۡنٰهُ مَثَلًا لِّبَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ ﴿۵۹﴾ وَ لَوۡ نَشَآءُ لَجَعَلۡنَا مِنۡكُمۡ مَّلٰٓئِكَةً فِى الۡاَرۡضِ
يَخۡلُفُوۡنَ ﴿۶۰﴾ وَ اِنَّهٗ لَعِلۡمٌ لِّلسَّاعَةِ فَلَا تَمۡتَرُنَّ بِهَا وَ اتَّبِعُوۡنِ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسۡتَقِيۡمٌ ﴿۶۱﴾
وَ لَا يَصُدَّنَّكُمُ الشَّيۡطٰنُ ۚ اِنَّهٗ لَكُمۡ عَدُوٌّ مُّبِيۡنٌ ﴿۶۲﴾

۽ جڏهن مريم جي پٽ جو مثال ڏنو ويو ته تنهنجي قوم جا ماڻهو ان تي گوڙ ڪرڻ لڳا ۽ انهن چيو ته اسان جا معبود ڀلا آهن يا هو (عيسيٰ). اهو مثال توسان رڳو جهيڙي لاءِ بيان ڪندا آهن، بلڪ اهي جهيڙاڪ قوم آهن. عيسيٰ ته رڳو اسان جو هڪ ٻانهو هو، جنهن تي اسان فضل ڪيو ۽ ان کي بني اسرائيل لاءِ هڪ مثال بڻايو ۽ جيڪڏهن اسان چاهيون ها ته توهان مان فرشتا بڻايون ها، جيڪي زمين تي اوهان جا جانشين ٿين ها ۽ بيشڪ عيسيٰ قيامت جي هڪ نشاني آهي. پوءِ اوهين ان ۾ شڪ نه ڪريو ۽ منهنجي تابعداري ڪريو. اهوئي سڌو رستو آهي ۽ شيطان توهان کي ان کان نه جهلي. بيشڪ هو توهان جو پڌرو دشمن آهي. ٥٧-٦٢

موجوده دنيا ۾ اهو ممڪن آهي ته ماڻهو هر ڳالهه جو الٽو مطلب ڪڍي سگهي. مثلاً رسول الله صلي الله عليه وسلم هڪ ڀيرو فرمايو ”ليس احد يعبد من دون الله فيه خير“. (الله کان سواءِ جنهن جي پرستش

ڪئي وڃي ان ۾ ڪو خير نہ آهي). ان ڪي ڀڏي مخالفن چيو تہ عيسائي ماڻهو مسيحؑ کي پوڄيندا آهن. پوءِ ڇا مسيحؑ بہ ڪو خير نہ آهي. ظاهر آهي تہ اها هڪ اجائي ڳالهہ هئي. ڇاڪاڻ تہ رسول اللهﷺ جيڪا ڳالهہ فرمائي هئي اها عبادت ڪرڻ واري جي نسبت سان هئي، نہ وري معبود جي نسبت سان ۽ جيڪڏهن ان کي معبود جي نسبت سان مڃيو وڃي، تڏهن بہ واضح طور تي ان مان مراد غيرمعبود هئا. جيڪي پنهنجي معبود بڻائي وڃڻ تي راضي هجن. ماڻهو جيڪڏهن ڳالهہ کي ان جي صحيح رخ کان نہ وٺي تہ هر ڳالهہ کي هو اُبتي معنيٰ ڏئي سگهي ٿو، ڇاهي اها ڳالهہ ڪيتري ئي صحيح ڇو نہ هجي.

حضرت عيسيٰؑ جي شخصيت هڪ لحاظ کان فرشتن سان مشابهت رکندي هئي. ان تي پاڻؑ کي گهڻن ماڻهن معبود بڻائي ورتو، پر حضرت عيسيٰؑ جي ملائڪن جهڙي تخليق الله جي قدرت جو مثال هئي، نہ وري خود حضرت مسيحؑ جي ذاتي قدرت جو مثال. حقيقت اها آهي تہ الله جي لاءِ اهڙي قسم جي تخليق ڪجهہ بہ مشڪل نہ آهي، هو چاهي تہ زمين جي سڄي آبادي کي فرشتن جي آبادي بڻائي ڇڏي، پوءِ بہ اهي فرشتا فرشتا ئي رهندا، اهي معبود نہ ٿي ويندا.

حضرت مسيحؑ کي اهو معجزو ڏنو ويو تہ هو مرده کي زنده ڪري ڇڏيندو هو. مٽي جي بوتي ۾ ڦوڪ هڻي ان کي جاندار بڻائي ڇڏيندو هو. اها اصل ۾ هڪ خدائي نشاني هئي جيڪا موت کان پوءِ زندگي جي امڪان کي ٻڌائڻ لاءِ ظاهر ڪئي وئي هئي، پر ماڻهن ان مان اصل سبق تہ نہ ورتو. البت حضرت مسيحؑ کي فوق البشر (مٿانهون انسان) سمجهي ان کي پوڄڻ لڳا. اهڙي طرح الله جون نشانيون هميشہ مختلف شڪلن ۾ ظاهر ٿينديون آهن. انهن کي نشاني سمجهو وڃي تہ ان مان قيمتي نصيحت ملندي آهي ۽ جيڪڏهن انهن کي نشاني جي بدران ڪجهہ ٻيو سمجهي وٺجي تہ اهي ماڻهو کي صرف گمراهي ۾ وجهڻ جو سبب بڻجي وينديون.

شيطان جي هميشہ اها ڪوشش رهي ٿي تہ هو الله جي نشانين مان ماڻهو کي سبق نہ وٺڻ ڏي. اهوئي اُهو مقام آهي جتي اهو فيصلو ٿيڻ وارو آهي تہ شيطان کي ماڻهو جي مٿان ڪاميابي حاصل ٿيندي آهي يا ماڻهو کي شيطان جي مٿان.

وَ لَمَّا جَآءَ عِيۡسٰى بِالۡبَيِّنٰتِ قَالَ قَدۡ جِئۡتُكُمۡ بِالۡحِكۡمَةِ وَ لِاُبَيِّنَ لَكُمۡ بَعۡضَ الَّذِىۡ تَخۡتَلِفُوۡنَ فِيۡهِ‌ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيۡعُوۡنِ ﴿۶۳﴾ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ رَبِّىۡ وَ رَبُّكُمۡ فَاعۡبُدُوۡهُ‌ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسۡتَقِيۡمٌ ﴿۶۴﴾ فَاخۡتَلَفَ الۡاَحۡزَابُ مِنۡۢ بَيۡنِهِمۡ‌ۚ فَوَيۡلٌ لِّلَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا مِنۡ عَذَابِ يَوۡمٍ اَلِيۡمٍ ﴿۶۵﴾

۽ جڏهن عيسيٰ پڌرين نشانين سان آيو، ان چيو تہ مون توهان وٽ حڪمت آندي آهي، تہ جيئن آئون توهان تي واضح ڪريان تہ جن ڳالهين ۾ توهان اختلاف ڪري رهيا آهيو. اهي توهان تي واضح ڪريان تنهن ڪري توهان الله کان ڊڄو ۽ منهنجي اطاعت ڪريو. بيشڪ الله ئي منهنجو رب آهي ۽ توهان جو رب بہ. پوءِ توهان سندس ئي عبادت ڪريو. اهائي سڌي واٽ آهي. پوءِ ٽولين پاڻ ۾ اختلاف ڪيو. تنهن ڪري تباهي آهي انهن ماڻهن لاءِ جن ظلم ڪيو، هڪ ڏکوئيندڙ ڏينهن جي عذاب کان. ٦٣-٦٥

هتي حڪمت مان مراد دين جو روح آهي ۽ صراط المستقيم مان مراد اها شيءِ آهي جنهن ڪي آيت ۾ الله جو خوف، ان جي عبادت ۽ رسول جي اطاعت چيو ويو آهي. اهوئي اصل دين آهي. يهودين بعد ۾ ايئن ڪيو جو انهن دين جو روح وڃائي ڇڏيو ۽ دين جي بنيادي حڪمن ۾ اجاين ڳالهين ذريعي بيشمار نوان نوان مسئلا پيدا ڪيا. اهي مسئلا اڄ به يهودين جي ڪتابن ۾ موجود آهن.

انهن هٿ ٺوڪيل اضافن جي ڪري انهن ۾ اختلافي فرقا ٺهي ويا. ڪنهن هڪ اختلافي مسئلي تي زور ڏنو ۽ ڪنهن ٻي اختلافي مسئلي تي. اهڙي طرح انهن وٽ هڪ دين ڪيترا ئي دين ٺهي ويو. حضرت مسيح عليه السلام ان ڪري آيا جو هو يهودين کي ٻڌائين ته اصل اهميت روح جي آهي، نه وري ظاهري شين جي ۽ اهو ته ماڻهو کي نجات جنهن شيءِ تي ملندي اها انهيءَ دين جي پيروي تي ملندي جيڪو الله موڪليو آهي، نه وري ان دين تي جيڪو توهان پاڻ ٺاهيو آهي.

حضرت مسيح عليه السلام ٻڌايو ته اصل دين اهو آهي ته توهان الله کان ڊڄو. صرف هڪ الله جي عبادت ڪريو. زندگي جي معاملن ۾ رسول جي نموني جي پيروي ڪريو. ان کان سواءِ توهان پنهنجي بحث ۽ اجاين ڳالهين جي ڪري جيڪي بيشمار مسئلا ٺاهي رکيا آهن، اهي توهان جا پنهنجا اضافا آهن. انهن اضافن کي ڇڏي اصل دين تي قائم ٿي وڃو. حضرت مسيح عليه السلام جون اهي ڳالهيون اڄ به انجيل ۾ موجود آهن.

هَلۡ يَنۡظُرُوۡنَ اِلَّا السَّاعَةَ اَنۡ تَاۡتِيَهُمۡ بَغۡتَةً وَّ هُمۡ لَا يَشۡعُرُوۡنَ ﴿٦٦﴾ اَلۡاَخِلَّآءُ يَوۡمَئِذٍۢ
بَعۡضُهُمۡ لِبَعۡضٍ عَدُوٌّ اِلَّا الۡمُتَّقِيۡنَ ﴿٦٧﴾ يٰعِبَادِ لَا خَوۡفٌ عَلَيۡكُمُ الۡيَوۡمَ وَ لَاۤ اَنۡتُمۡ
تَحۡزَنُوۡنَ ﴿٦٨﴾ اَلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا بِاٰيٰتِنَا وَ كَانُوۡا مُسۡلِمِيۡنَ ﴿٦٩﴾ اُدۡخُلُوا الۡجَنَّةَ اَنۡتُمۡ وَ اَزۡوَاجُكُمۡ
تُحۡبَرُوۡنَ ﴿٧٠﴾ يُطَافُ عَلَيۡهِمۡ بِصِحَافٍ مِّنۡ ذَهَبٍ وَّ اَكۡوَابٍ ۚ وَ فِيۡهَا مَا تَشۡتَهِيۡهِ الۡاَنۡفُسُ
وَ تَلَذُّ الۡاَعۡيُنُ ۚ وَ اَنۡتُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿٧١﴾ وَ تِلۡكَ الۡجَنَّةُ الَّتِيۡۤ اُوۡرِثۡتُمُوۡهَا بِمَا كُنۡتُمۡ
تَعۡمَلُوۡنَ ﴿٧٢﴾ لَكُمۡ فِيۡهَا فَاكِهَةٌ كَثِيۡرَةٌ مِّنۡهَا تَاۡكُلُوۡنَ ﴿٧٣﴾

اهي ماڻهو رڳو قيامت جو انتظار ڪري رهيا آهن جو اُها اوچتو مٿن اچي ۽ اُهي بي خبر هجن. انهيءَ ڏينهن سيئي دوست هڪ ٻئي جا دشمن هوندا سواءِ پرهيزگارن جي. اي منهنجا ٻانهو! اڄ توهان لاءِ نه ڪو خوف آهي ۽ نه توهان غمگين ٿيندا. جن ماڻهن اسان جي آيتن تي ايمان آندو ۽ فرمانبردار ٿي رهيا جنت ۾ داخل ٿي وڃو توهان ۽ توهان جون زالون، توهان کي خوش ڪيو ويندو، انهن جي سامهون سون جون ٿالهيون ۽ پيالا ڦيرايا ويندا ۽ اتي اهي شيون هونديون جن کي دل گهري ۽ جن سان اکيون ٺرنديون ۽ توهان هتي هميشه رهندو ۽ هي اها جنت آهي جنهن جا توهان وارث ڪيا ويا آهيو، انهن (چڱن) ڪمن جي ڪري جيڪي توهان ڪندا هئا. توهان لاءِ ان ۾ گهڻا ميوا آهن جن مان کائيندا رهو. ٦٦-٧٣

---

انسان آزاد نه آهي، ان کي هرحال ۾ حقيقت جي اڳيان جهڪڻو آهي. جيڪڏهن هو داعي جي دليل اڳيان نه ٿو جهڪي ته ان کي الله جي طاقت جي اڳيان جهڪڻو پوندو، پر الله جي طاقت فيصلي لاءِ

ظاهر ٿيندي آهي. ان ڪري ان وقت جو جهڪڻ ڪنهن جي ڪجهه بہ ڪم نہ ايندو.

دنيا ۾ ماڻهو جڏهن حق جي خلاف رويو اختيار ڪري ٿو تہ ان کي گهڻائي دوست ملي ويندا آهن، جيڪي ان جو ساٿ ڏيندا آهن. ماڻهو انهن دوستن جي ڀروسي تي سرڪش بڻجي ويندو آهي، پر اُهي سڀئي دوست قيامت ۾ ان جو ساٿ ڇڏي ڏيندا. قيامت ۾ صرف اها دوستي باقي رهندي جيڪا الله جي خوف جي بنياد تي قائم ٿي هجي.

دنيا ۾ حق پرستي جي زندگي خطرن جي گهيري ۾ هوندي آهي، پر آخرت ۾ ان جو بدلو ان شاندار صورت ۾ ملندو جو ماڻهو اتي هر قسم جي خوف ۽ تڪليف کان هميشہ لاءِ نجات حاصل ڪري وٺندو. الله جي ان وعدي تي جيڪي ماڻهو يقين ڪن، اهي ئي موجوده دنيا ۾ حق تي قائم رهي سگهن ٿا. الله آخرت ۾ انهن کي اهو سڀ ڪجهه وڌيڪ اضافي سان گڏ ڏئي ڇڏيندو، جيڪو انهن دنيا ۾ الله جي لاءِ وڃايو هو.

اِنَّ الْمُجْرِمِيْنَ فِيْ عَذَابِ جَهَنَّمَ خٰلِدُوْنَ ﴿٧٤﴾ لَا يُفَتَّرُ عَنْهُمْ وَ هُمْ فِيْهِ مُبْلِسُوْنَ ﴿٧٥﴾ وَ
مَا ظَلَمْنٰهُمْ وَ لٰكِنْ كَانُوْا هُمُ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٧٦﴾ وَ نَادَوْا يٰمٰلِكُ لِيَقْضِ عَلَيْنَا رَبُّكَ ؕ قَالَ
اِنَّكُمْ مّٰكِثُوْنَ ﴿٧٧﴾ لَقَدْ جِئْنٰكُمْ بِالْحَقِّ وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَكُمْ لِلْحَقِّ كٰرِهُوْنَ ﴿٧٨﴾ اَمْ اَبْرَمُوْٓا
اَمْرًا فَاِنَّا مُبْرِمُوْنَ ﴿٧٩﴾ اَمْ يَحْسَبُوْنَ اَنَّا لَا نَسْمَعُ سِرَّهُمْ وَ نَجْوٰىهُمْ ؕ بَلٰى وَ رُسُلُنَا
لَدَيْهِمْ يَكْتُبُوْنَ ﴿٨٠﴾

بيشڪ مجرم ماڻهو هميشہ دوزخ جي عذاب ۾ رهندا. ڪانئن عذاب هلڪو نہ ڪبو ۽ اهي ان ۾ نااميد پيا هوندا ۽ اسان انهن تي ظلم نہ ڪيو. بلڪ اُهي خود ظالم هئا ۽ اُهي سڏيندا اي مالڪ! تنهنجو رب اسان جو خاتمو ئي ڪري ڇڏي. فرشتو چوندو تہ توهان هميشہ هتي رهڻ وارا آهيو، اسان توهان وٽ حق آندو، پر توهان مان اڪثر حق کان بيزار هئا. ڇا انهن ڪا رٿ رٿي آهي، پوءِ اسان بہ هڪ رٿ رٿيندا آهيون. ڇا سندن گمان آهي تہ اسان سندن ڳجهين ڳالهين ۽ سندن صلاحون نہ ٻڌندا آهيون هائو ۽ اسان جا موڪليل انهن وٽ لکندا رهندا آهن. ٧٤-٨٠

اميد هميشہ تڪليف جي احساس کي گهٽ ڪري ڇڏيندي آهي. ماڻهو ڪنهن تڪليف ۾ هجي ۽ ان سان گڏ ان کي اها اميد هجي تہ اها تڪليف هڪ ڏينهن ختم ٿي ويندي تہ ماڻهو جي اندر ان کي برداشت ڪرڻ جي طاقت پيدا ٿي ويندي آهي، پر جهنم جي تڪليف اها تڪليف آهي جنهن مان نڪرڻ جي ڪا اميد انسان لاءِ نہ هوندي. جهنم ۾ فرشتن کي مدد لاءِ سڏڻ جهنم وارن جي بيوسي جو اظهار هوندو، جيئن تہ سڏڻ وارو پاڻ ڄاڻندو هوندو تہ الله جو فيصلو آخري طور تي ٿي چڪو آهي. هاڻي اهو ڪنهن بہ طرح ٽرڻ وارو نہ آهي.

جهنم ۾ ڪنهن جو داخل ٿيڻ سراسر پنهنجي ڪوتاهي جو نتيجو هوندو. انسان کي الله تعاليٰ اعليٰ درجي جي سمجهہ ڏني. ان لاءِ حق جون راهون واضح ڪيون، پر انسان سڀ ڪجهہ ڄاڻندي حق کي نظرانداز ڪيو. ان جي سرڪشي ايستائين وڌي وئي جو هو حق جي داعي کي مٽائڻ ۽ برباد ڪرڻ جي ڪِڊ پئجي ويو. اهڙي حالت ۾ سندس انجام ان کان سواءِ ڇا ٿيندو جو ان کي هميشہ جي عذاب ۾ وڌو وڃي.

قُلْ اِنْ كَانَ لِلرَّحْمٰنِ وَلَدٌ ۖ فَاَنَا اَوَّلُ الْعٰبِدِيْنَ ﴿٨١﴾ سُبْحٰنَ رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ رَبِّ
الْعَرْشِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿٨٢﴾ فَذَرْهُمْ يَخُوْضُوْا وَ يَلْعَبُوْا حَتّٰى يُلٰقُوْا يَوْمَهُمُ الَّذِيْ يُوْعَدُوْنَ ﴿٨٣﴾

چئو جيڪڏهن رحمان کي ڪو اولاد هجي ها ته آئون سڀ کان پهرين ان جي عبادت ڪندڙ هجان ها. آسمانن ۽ زمين جو رب عرش جو مالڪ، اهو انهن ڳالهين کان پاڪ آهي جن کي اُهي ماڻهو بيان ڪندا آهن. پوءِ ڪين ڇڏي ڏي ته اُهي بحث ڪن ۽ راند ڪن، ايستائين جو هو ان ڏينهن کي پهچن، جنهنجو ڪين واعدو ڏجي ٿو. ٨١-٨٣

”جيڪڏهن الله کي اولاد هجي ها ته آئون سيني کان اڳ ۾ ان جي عبادت ڪريان ها“. اهو جملو ٻڌائي ٿو ته پيغمبر جنهن عقيدي جو اعلان ڪري رهيو آهي، اهو ان کي عين حقيقت سمجهي ٿو. هو قومي تقليد ۽ گروهي تعصب جي بنياد تي نه بيٺل هوندو آهي. بلڪ دليل جي بنياد تي بيهندو آهي. هو ان عقيدي جو داعي ان ڪري آهي جو سيئي حقيقتون ان جي صداقت جي تائيد ڪن ٿيون. ان مان اندازو ٿيندو آهي ته داعي جو معاملو حقيقت جي شعور جو معاملو هوندو آهي، نه وري قومي تقليد جو معاملو.

الله جو تخليقي ڪارخانو جيڪو زمين ۽ آسمان جي صورت ۾ پکڙيل آهي، اهو ٻڌائي ٿو ته ان جو خدا صرف هڪ الله آهي. ڪائنات پنهنجي وسيع نظام سان گڏ ان جو انڪار ڪري ٿي ته ان جا خدا هڪ کان وڌيڪ ٿي سگهن ٿا.

وَ هُوَ الَّذِيْ فِي السَّمَآءِ اِلٰهٌ وَّ فِي الْاَرْضِ اِلٰهٌ ؕ وَ هُوَ الْحَكِيْمُ الْعَلِيْمُ ﴿٨٤﴾ وَ تَبٰرَكَ الَّذِيْ
لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ مَا بَيْنَهُمَا ۚ وَ عِنْدَهٗ عِلْمُ السَّاعَةِ ۚ وَ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٨٥﴾

۽ اهوئي آهي جيڪو آسمان ۾ معبود آهي ۽ اهو ئي زمين ۾ معبود آهي ۽ اهو حڪمت وارو، علم وارو آهي ۽ اهو وڏي برڪت وارو آهي. جنهن جي بادشاهت آهي آسمانن ۽ زمين ۾ ۽ جيڪي ڪجهه انهن جي وچ ۾ آهي ۽ انهيءَ وٽ قيامت جي خبر آهي ۽ ان ڏانهن ئي توهان موٽايا ويندو. ٨٤-٨٥

زمين ۽ آسمان باهمي طور مسلسل عمل ڪري رهيا آهن. اُهي هڪ ئي علم ۽ حڪمت مطابق عمل ۾ آهن. اهو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته هتي هڪ ئي الله آهي جيڪو زمين ۽ آسمان جو نظام تنها هلائي رهيو آهي.

ڪائنات هڪ ئي وقت الله جي بي پناهه قدرت جو به تعارف ڪرائي رهي آهي ۽ ان سان گڏ الله جي بي پناهه رحمت جو به. ان جو تقاضو آهي ته ماڻهو سيني کان وڌيڪ الله کان ڊڄي ۽ هو سيني کان وڌيڪ ان مان اميد رکي. جيڪي ماڻهو دنيا ۾ ان شعور ۽ ڪردار جو ثبوت ڏين. اُهي جڏهن الله وٽ پهچندا ته الله انهن کي پنهنجي لامحدود رحمتن سان نوازيندو.

وَ لَا يَمْلِكُ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهِ الشَّفَاعَةَ اِلَّا مَنْ شَهِدَ بِالْحَقِّ وَ هُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿٨٦﴾
وَ لَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَهُمْ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ فَاَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ﴿٨٧﴾ۙ وَ قِيْلِهٖ يٰرَبِّ اِنَّ هٰۤؤُلَآءِ
ع ٧ ٢٢ ١٣ قَوْمٌ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٨٨﴾ فَاصْفَحْ عَنْهُمْ وَ قُلْ سَلٰمٌ ؕ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ﴿٨٩﴾

۾ الله کان سواءِ جن کي اهي ماڻهو سڏيندا آهن اهي سفارش جو اختيار نٿا رکن. پر اُهي جن سچي شاهدي ڏني ۽ اُهي ڄاڻندا آهن ۽ جيڪڏهن تون انهن کان پڇين تہ کين ڪنهن پيدا ڪيو آهي تہ هو ضرور چوندا تہ الله. پوءِ اُهي ڪيڏانهن ڦيرايا ويندا آهن ۽ (قسم آهي) رسول جي انهيءَ چوڻ جو اي منهنجا رب! هي اهڙي قوم آهن جو ايمان نٿا آڻين. پوءِ ڪائڻ منهن موڙ ۽ (موڪلاڻي جو) سلام چئو. پوءِ سگهوئي کين معلوم ٿي ويندو. ٨٦-٨٩

قيامت ۾ پيغمبر ۽ حق جا داعي جيڪا شفاعت ڪندا، اُها حقيقتن شفاعت نہ آهي! بلڪ شهادت آهي. يعني اهڙي ڳالهہ جي شاهدي ڏيڻ جنهن کي ماڻهو ذاتي طور تي ڄاڻندو هجي. آخرت ۾ جڏهن ماڻهن جو مقدمو پيش ٿيندو تہ سچي علم جي باوجود الله وڏيڪ تائيد طور انهن ماڻهن کي ڪڙو ڪندو جيڪي انهن قومن جي زماني وارا هئا. انهن قوم جي سامهون حق پيش ڪيو پوءِ ڪنهن مڃو ۽ ڪنهن نہ مڃيو. ڪنهن حق جو ساٿ ڏنو ۽ ڪو حق جو مخالف بڻجي ويو. اهو تجربو جيڪو انهن صالحين تي براهہ راست گذريو ان کي اُهي الله جي سامهون پيش ڪندا. اهو ايئن ئي ٿيندو جيئن ڪو شاهد عدالت ۾ پنهنجي مشاهدي جي بنياد تي هڪ سچو بيان ڏي. ان کان سواءِ ڪنهن کي قيامت ۾ اِهو اختيار حاصل نہ هوندو جو هو ڪنهن مجرم جو سفارشي بڻجي بيهي رهي ۽ ان جي باري ۾ ان خدائي فيصلي کي بدلائي ڇڏي. جيڪو حقيقت ۾ ان جي باري ۾ ٿيڻ وارو آهي. الله ان کان تمام بلند آهي جو ان جي سامهون ڪو ماڻهو ايئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪري.

حق جي دعوت جو ڪم سراسر نصيحت جو ڪم آهي. آخري مرحلي ۾ جڏهن داعي تي اهو واضح ٿي وڃي تہ ماڻهو ڪهڙي بہ طرح مڃڻ وارا نہ آهن. ان وقت داعي ماڻهن لاءِ الله کان دعا ڪندو آهي. ماڻهن جي تڪليف پهچائڻ تي صبر ڪندي هو ماڻهن جو خيرخواهہ ٿي رهندو آهي.

ٰاياتها ٥٩ (٤٤) سُوْرَةُ الدُّخَانِ مَكِّيَّةٌ (٦٤) رکوعاتها ٣

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

حٰمٓ ﴿١﴾ وَالْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ﴿٢﴾ اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ فِيْ لَيْلَةٍ مُّبٰرَكَةٍ اِنَّا كُنَّا مُنْذِرِيْنَ ﴿٣﴾ فِيْهَا يُفْرَقُ
كُلُّ اَمْرٍ حَكِيْمٍ ﴿٤﴾ اَمْرًا مِّنْ عِنْدِنَا ؕ اِنَّا كُنَّا مُرْسِلِيْنَ ﴿٥﴾ رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ ؕ اِنَّهٗ هُوَ
السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٦﴾ رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ۘ اِنْ كُنْتُمْ مُّوْقِنِيْنَ ﴿٧﴾ لَآ اِلٰهَ
اِلَّا هُوَ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ؕ رَبُّكُمْ وَرَبُّ اٰبَآئِكُمُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٨﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

حٰمٓ. قسم آهي هن واضح ڪتاب جو. اسان ان کي هڪ برڪت واري رات ۾ لاٿو. بيشڪ اسان خبردار ڪرڻ وارا آهيون. ان (رات) ۾ هر ڪم (جو) حڪمت وارو فيصلو ڪبو آهي اسان جي حڪم سان بيشڪ اسان ئي موڪليندڙ آهيون تنهنجي رب جي رحمت سان اُهو ئي ٻڌڻ وارو ڄاڻندڙ آهي آسمانن ۽ زمين جو رب ۽ جيڪو ڪجهہ انهن جي وچ ۾ آهي. جيڪڏهن توهان يقين ڪرڻ وارا آهيو. ان کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي. اُهو ئي زنده ڪري ٿو ۽ ماري ٿو. توهان جو بہ رب آهي ۽ توهان جي اڳين ابن ڏاڏن جو رب بہ. ١-٨

قرآن جو ڪتاب مبين (واضح) هجڻ خود ان ڳالهه جو دليل آهي تہ ”هو الله جو ڪتاب آهي“ ۽ جڏهن هو الله جو ڪتاب آهي تہ ان جون خبرون ۽ اڳڪٿيون بہ يقيني آهن. انهن جي باري ۾ شڪ جي ڪا بہ گنجاش نہ آهي.

قرآن جي نازل ٿيڻ جو آغاز هڪ خاص رات ۾ ٿيو. اها رات الله جي اهم فيصلن لاءِ مقرر آهي. قرآن جو نازل ٿيڻ ڪو سادو واقعو نہ هو، اِهو هڪ نئين تاريخ جي شروعات جو فيصلو هو. اهو ئي سبب آهي جو ان کي فيصلي جي رات ۾ نازل ڪيو ويو. قرآن اول حق جو اعلان ڪري ٿو. هو شرڪ کي باطل ۽ توحيد کي برحق ٻڌائڻ لاءِ آيو. قرآن ان بنياد تي قومن جي وچ ۾ فرق ڪرڻ وارو هو. تنهن ڪري اهو فرق عملي طور ڪيو ويو، ايستائين جو تاريخ ۾ ٻهريون پيرو شرڪ جو دور ختم ٿيو ۽ توحيد جو دور شروع ٿي ويو.

بَلْ هُمْ فِيْ شَكٍّ يَّلْعَبُوْنَ ﴿٩﴾ فَارْتَقِبْ يَوْمَ تَأْتِي السَّمَآءُ بِدُخَانٍ مُّبِيْنٍ ﴿١٠﴾ يَّغْشَى
النَّاسَ ۭ هٰذَا عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١١﴾ رَبَّنَا اكْشِفْ عَنَّا الْعَذَابَ اِنَّا مُؤْمِنُوْنَ ﴿١٢﴾ اَنّٰى لَهُمُ
الذِّكْرٰى وَ قَدْ جَآءَهُمْ رَسُوْلٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٣﴾ ثُمَّ تَوَلَّوْا عَنْهُ وَ قَالُوْا مُعَلَّمٌ مَّجْنُوْنٌ ﴿١٤﴾ اِنَّا
كَاشِفُوا الْعَذَابِ قَلِيْلًا اِنَّكُمْ عَآئِدُوْنَ ﴿١٥﴾ يَوْمَ نَبْطِشُ الْبَطْشَةَ الْكُبْرٰى ۚ اِنَّا
مُنْتَقِمُوْنَ ﴿١٦﴾

بلڪ اهي (قيامت) کان شڪ ۾ آهن ۽ ڪيڏي رهيا آهن. پوءِ انتظار ڪر ان ڏينهن جو جڏهن آسمان پڌرو دونهون آڻيندو، جيڪو ماڻهن کي ويڙهي وٺندو. اهو هڪ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. اي اسان جا رب! اسان کان اهو عذاب ٽار اسان ايمان آڻيون ٿا. (هاڻي) انهن لاءِ نصيحت ڪٿان اچي ۽ انهن وٽ رسول آيو هو کولي ٻڌائڻ وارو، پوءِ انهن ان کان منهن موڙيو ۽ چيائون تہ هي ماڻهو سيکاريل (۽) ديوانو آهي. اسان ٿورو وقت عذاب ٽارڻ وارا آهيون، بيشڪ توهان وري ساڳئي حالت تي اچي ويندو. جنهن ڏينهن اسان پڪڙينداسون تمام وڏي پڪڙ (سان) ان ڏينهن اسان پورو بدلو وٺنداسون. ٩-١٦

---

قرآن جا اُهي مخاطب جنهن معاملي ۾ شڪ ۾ پيل هئا، اهو الله جي وجود جو معاملو نہ هو، بلڪ الله جي توحيد جو معاملو هو. اهي روايتي طور الله کي مڃيندا هئا ۽ عملن پنهنجي بزرگن جي دين تي قائم هئا.

قرآن انهن جي بزرگن کي بي بنياد ثابت ڪيو پر هو ان کي مڃڻ لاءِ تيار نہ ٿيا. هڪ پاسي اهي پاڻ کي بي دليل ڏسي رهيا هئا، ٻئي پاسي پنهنجي بزرگن جي عظمت کي پنهنجي ذهن مان ڪيڻ بہ انهن کي ناممڪن نظر پئي آيو. انهن ٻن مختلف تقاضن کين شڪ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو، الله جو داعي کين ان کان گهٽ نظر آيو جو ان جي چوڻ تي هو پنهنجن فرض ڪيل بزرگن کي ڇڏي ڏين.

جيڪي ماڻهو نصيحت جي ذريعي حق کي نہ مڃين تہ هو پاڻ کي ان خطري ۾ وجهي رهيا آهن جو انهن کي عذاب جي ذريعي ان کي مڃٽو پوي. انهيءَ وقت اهي اعتراف ڪندا، پر ان وقت جو اعتراف ڪرڻ سندن ڪجهہ بہ ڪم نہ ايندو.

وَلَقَدْ فَتَنَّا قَبْلَهُمْ قَوْمَ فِرْعَوْنَ وَجَآءَهُمْ رَسُوْلٌ كَرِيْمٌ ﴿١٧﴾ اَنْ اَدُّوْٓا اِلَيَّ عِبَادَ اللّٰهِ ؕ
اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿١٨﴾ وَّاَنْ لَّا تَعْلُوْا عَلَى اللّٰهِ ۚ اِنِّيْٓ اٰتِيْكُمْ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿١٩﴾ وَاِنِّيْ
عُذْتُ بِرَبِّيْ وَرَبِّكُمْ اَنْ تَرْجُمُوْنِ ﴿٢٠﴾ وَاِنْ لَّمْ تُؤْمِنُوْا لِيْ فَاعْتَزِلُوْنِ ﴿٢١﴾

۽ ان کان اڳ ۾ اسان فرعون جي قوم کي آزمايو ۽ انهن وٽ هڪ سڳورو رسول آيو ته الله جي ٻانهن کي منهنجي حوالي ڪريو. آئون توهان لاءِ هڪ امانتدار رسول آهيان ۽ اهو ته الله جي مقابلي ۾ سرڪشي نه ڪريو. آئون توهان جي سامهون هڪ واضح دليل پيش ڪريان ٿو ۽ مون پنهنجي ۽ توهان جي رب جي پناهه ورتي آهي ان ڳالهه کان جو توهان مون کي سنگسار ڪريو ۽ جيڪڏهن توهان مون تي ايمان نه ٿا آڻيو ته مون کان پاسو ڪريو. ١٧-٢١

---

حق جي دعوت جو شروع ٿيڻ ڄڻ الله جي طاقت جو دليل جي روپ ۾ ظاهر ٿيڻ آهي. اهڙي طرح الله غيب ۾ رهي ڪري انسان جي سطح تي پنهنجو اعلان ڪرائيندو آهي، ان ڪري حق جي دعوت پنهنجن مخاطبن لاءِ آزمائش بڻجي ويندي آهي. حقيقت کي سڃاڻڻ وارا ماڻهو ان کي سڃاڻي ان جي اڳيان جهڪي ويندا آهن ۽ جيڪي ظاهر کي ڏسي هلندا آهن، اهي ان کي غيراهم سمجهي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن.

پر حق جي دعوت کي نڪرائڻ کان پوءِ ماڻهو ان جي انجام کان بچي نه ٿو سگهي. پيغمبر جي زماني ۾ ان بري انجام جو آغاز موجوده زندگي ۾ ئي ٿي ويندو آهي، جهڙي ريت مصر جي فرعون جو ٿيو. پيغمبر کان پوءِ اهڙن ماڻهن جو انجام موت کان پوءِ سامهون ايندو آهي، جيئن ته پيغمبر کي الله جي خاص مدد حاصل هوندي آهي، انڪري ڪنهن جي لاءِ به ممڪن نه هوندو آهي جو هو ان کي هلاڪ ڪري سگهي.

فَدَعَا رَبَّهٗٓ اَنَّ هٰٓؤُلَآءِ قَوْمٌ مُّجْرِمُوْنَ ﴿٢٢﴾ فَاَسْرِ بِعِبَادِيْ لَيْلًا اِنَّكُمْ مُّتَّبَعُوْنَ ﴿٢٣﴾ وَاتْرُكِ
الْبَحْرَ رَهْوًا ؕ اِنَّهُمْ جُنْدٌ مُّغْرَقُوْنَ ﴿٢٤﴾ كَمْ تَرَكُوْا مِنْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿٢٥﴾ وَّزُرُوْعٍ وَّ
مَقَامٍ كَرِيْمٍ ﴿٢٦﴾ وَّنَعْمَةٍ كَانُوْا فِيْهَا فٰكِهِيْنَ ﴿٢٧﴾ كَذٰلِكَ ۫ وَاَوْرَثْنٰهَا قَوْمًا اٰخَرِيْنَ ﴿٢٨﴾ فَمَا
ع ٢٩ ١٤ بَكَتْ عَلَيْهِمُ السَّمَآءُ وَالْاَرْضُ وَمَا كَانُوْا مُنْظَرِيْنَ ﴿٢٩﴾

پوءِ موسيٰ پنهنجي رب کي پڪاريو ته هي ڏوهاري قوم آهي. پوءِ تون منهنجي ٻانهن کي راتو رات وٺي نڪر، توهان جو پيڇو ڪيو ويندو ۽ تون سمنڊ کي سڪل ڇڏ. بيشڪ انهن جو لشڪر ٻڏڻ وارو آهي. انهن ڪيترائي باغ ۽ چشما ۽ پوکون ۽ عمده جايون ۽ آرام جو سامان جنهن ۾ اهي خوش رهندا هئا سي سڀ ڇڏيا. اهڙي طرح ٿيو ۽ اسان ٻي قوم کي انهن جو وارث ڪيو. پوءِ نه انهن تي آسمان رُنو ۽ نه زمين ۽ نه وري انهن کي مهلت ڏني وئي. ٢٢-٢٩

---

ڏکي عرصي تائين حضرت موسيٰ عليه السلام جي تبليغي ڪوشش کان پوءِ فرعون جي قوم تي حجت پوري ٿي وئي. اهو ثابت ٿي ويو ته اها هڪ مجرم قوم آهي، ان وقت حضرت موسيٰ عليه السلام کي

حڪم ٿيو تہ هو پنهنجي قوم (بني اسرائيل) سان گڏ مصر کان نڪري ٻاهر هليا وڃن. حضرت موسيٰؑ روانا ٿيا ۽ هو هڪ درياءَ جي ڪناري پهچي ويا. ان وقت درياءَ جو پاڻي هٽي ويو ۽ سندن لاءِ پار ٿي وڃڻ جو رستو نڪري آيو.

فرعون پنهنجي لشڪر سان حضرت موسيٰؑ ۽ بني اسرائيل جي پٺيان لڳو آيو. ان جڏهن درياءَ ۾ رستو ٺهي ٺڪجندي ڏٺو تہ ان سمجهو جهڙي طرح موسيٰؑ پار ڪري ويو، اهڙي طرح هو بہ پار وڃي سگهي ٿو. پر درياءَ جو رستو سادي معنيٰ ۾ رڳو رستو نہ هو، بلڪ اهو الله جو حڪم هو ۽ الله جو حڪم ان وقت صرف موسيٰؑ جي نجات لاءِ هو ۽ فرعون جي لاءِ هلاڪت جو. تنهن ڪري جڏهن فرعون ۽ ان جو لشڪر درياءَ ۾ داخل ٿيو تہ ٻنهي پاسن جو پاڻي پاڻ ۾ ملي ويو ۽ فرعون پنهنجي لشڪر سان ان ۾ غرق ٿي ويو.

دنيا جون نعمتون جنهن کي ملنديون آهن، اڪثر هو انهن کي پنهنجي ذاتي شيءِ سمجهي وٺي ٿو، حالانڪ ڪنهن جي لاءِ بہ اهي ذاتي نہ آهن. الله جڏهن چاهي ڪنهن کي ڏي ۽ جڏهن چاهي ان کان کسي ٻين جي حوالي ڪري ڇڏي.

وَ لَقَدۡ نَجَّیۡنَا بَنِیۡۤ اِسۡرَآءِیۡلَ مِنَ الۡعَذَابِ الۡمُهِیۡنِ ﴿۳۰﴾ مِنۡ فِرۡعَوۡنَ ؕ اِنَّهٗ کَانَ عَالِیًا مِّنَ الۡمُسۡرِفِیۡنَ ﴿۳۱﴾ وَ لَقَدِ اخۡتَرۡنٰهُمۡ عَلٰی عِلۡمٍ عَلَی الۡعٰلَمِیۡنَ ﴿۳۲﴾ وَ اٰتَیۡنٰهُمۡ مِّنَ الۡاٰیٰتِ مَا فِیۡهِ بَلٰٓـؤٌا مُّبِیۡنٌ ﴿۳۳﴾

۽ اسان بني اسرائيل کي ذلت واري عذاب کان نجات ڏني يعني فرعون کان. بيشڪ اهو سرڪش ۽ لنگهندڙن مان هو ۽ اسان انهن (بني اسرائيل) کي پنهنجي علم مطابق دنيا وارن تي ترجيح ڏني ۽ کين اهڙيون نشانيون ڏنيون جن ۾ پڌري آزمائش هئي. ٣٠-٣٣

---

دنيا ۾ هڪ قوم جو زوال ۽ ٻي قوم جو ترقي ڪرڻ اتفاق سان نہ ٿيندو آهي ۽ نہ ان جو مطلب اهو آهي تہ هڪ ظالم قوم پنهنجي ظالماڻين ڪارروائين سان ٻي قوم تي غالب اچي وڃي، اهو سڀ جو سڀ الله جي فيصلي جي مطابق ٿيندو آهي. اهو الله آهي جيڪو پنهنجي فيصلي سان هڪ لاءِ شڪست ۽ ٻي لاءِ غلبي جو فيصلو ڪندو آهي ۽ هو جيڪو بہ فيصلو ڪندو آهي پنهنجي علم مطابق ڪندو آهي، نہ وري بغير ڪنهن سبب ۽ مقصد جي.

الله جي علم جي مطابق فيصلو ٿيڻ جو مطلب ٻين لفظن ۾ اهو آهي تہ جيڪو ڪجهہ ٿيندو آهي اهو استحقاق مطابق ٿيندو آهي. الله پنهنجي علم مطابق قومن کي ڏسندو آهي، پوءِ هو جنهن کي مستحق سمجهي ٿو ان جي حق ۾ غلبي جو فيصلو ڪندو آهي ۽ جنهن کي مستحق نہ ٿو سمجهي ان کي مغلوب ۽ معزول ڪري ڇڏيندو آهي.

قومن جي زندگي ۾ اهڙيون نشانيون ظاهر ٿينديون آهن، جيڪي ٻڌائين ٿيون تہ انهن سان جيڪو فيصلو ٿيو آهي، اهو الله طرفان آهي. جيڪڏهن ماڻهو جي بصيرت زنده هجي تہ هو انهن نشانين ۾ انهن سببن جي جهلڪ ڏسي وٺندو جنهن تحت الله قومن جي حق ۾ پنهنجو فيصلو نازل فرمايو آهي.

اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ لَیَقُوْلُوْنَ ﴿۳۴﴾ اِنْ هِیَ اِلَّا مَوْتَتُنَا الْاُوْلٰی وَ مَا نَحْنُ بِمُنْشَرِیْنَ ﴿۳۵﴾ فَاْتُوْا بِاٰبَآئِنَآ
اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِیْنَ ﴿۳۶﴾ اَهُمْ خَیْرٌ اَمْ قَوْمُ تُبَّعٍ ۙ وَّ الَّذِیْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ اَهْلَكْنٰهُمْ ۫
اِنَّهُمْ كَانُوْا مُجْرِمِیْنَ ﴿۳۷﴾

هي ماڻهو چوندا آهن ته (هي) رڳو اسان جو پهريون موت آهي ۽ اسان وري نه اٿاريا ويندا سون. جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته اسان جي ابن ڏاڏن کي آڻيو. ڇا اُهي بهتر آهن يا تبع جي قوم ۽ جيڪي انهن کان اڳ هئا. اسان انهن کي ناس ڪيوسون. بيشڪ اهي ڏوهاري هئا. ٣٤-٣٧

هر دور ۾ انسان جي گمراهي جو بنياد اهو رهيو آهي ته ان موت کان پوءِ جي زندگي تي پنهنجو يقين وڃائي ڇڏيو. ڪجھ ماڻهن جي بي يقيني جو اظهار سندن زبانن سان به ٿي ويندو آهي ۽ ڪجھ ماڻهو زبان سان اها ڳالھ نه چوندا آهن، پر انهن جا دل ان يقين کان خالي هوندا آهن ته ڪين مري پيهر اٿاريو ويندو ۽ الله جي سامهون پنهنجن عملن جو حساب ڏيڻو پوندو.

ان غلط فهمي جو نفسياتي سبب اڪثر اهو هوندو آهي ته دنيا ۾ پنهنجي مضبوط حيثيت کي ڏسي ماڻهو گمان ڪري وٺي ٿو ته هو ڪڏهن به بي حيثيت ٿيڻ وارو نه آهي. حالانڪ اڳين قومن جا واقعا ان ڌوڪي جي ترديد ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن.

تبع قديم يمن جي حمير قبيلي جي بادشاهن جو لقب هو. ١١٥ قبل مسيح کان ٣٠٠ قبل مسيح تائين انهن کي عروج حاصل رهيو. قديم عرب ۾ انهن جي عظمت جو گهڻي مشهور هئي. قرآن جي ابتدائي مخاطبن (قريش) لاءِ تبع قوم جو غلبو ۽ زوال هڪ ڄاتل سڃاتل ڳالھ هئي. اهو سندن لاءِ ان ڳالھ جو ثبوت هو ته هن دنيا ۾ بدلي يا جزا ڏيڻ جو قانون جاري آهي، اهڙي طرح سيني ماڻهن لاءِ ڪا نه ڪا تبع جي قوم آهي، جيڪا پنهنجي انجام کان انهن کي سبق ڏئي رهي آهي، پر انسان هميشه ايئن ڪندو آهي ته اهڙي طرح جي واقعن کي زماني جي لاهن چاڙهن وارو واقعو سمجهي وٺندو آهي. ان ڪري هو ان مان اهو سبق نه ٿو وٺي جيڪو ان ۾ الله لڪائي رکيو هو.

وَ مَا خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ وَ مَا بَیْنَهُمَا لٰعِبِیْنَ ﴿۳۸﴾ مَا خَلَقْنٰهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ وَ لٰكِنَّ
اَكْثَرَهُمْ لَا یَعْلَمُوْنَ ﴿۳۹﴾ اِنَّ یَوْمَ الْفَصْلِ مِیْقَاتُهُمْ اَجْمَعِیْنَ ﴿۴۰﴾ یَوْمَ لَا یُغْنِیْ مَوْلًی عَنْ
مَّوْلًی شَیْـًٔا وَّ لَا هُمْ یُنْصَرُوْنَ ﴿۴۱﴾ اِلَّا مَنْ رَّحِمَ اللّٰهُ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْعَزِیْزُ الرَّحِیْمُ ﴿۴۲﴾ ع ٢ ١٣ ١٥ مع عِنْدَ الْمُتَأَخِّرِیْن ١٢

۽ اسان آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪو ڪجھ انهن جي وچ ۾ آهي سو راند طور نه بڻايو آهي. انهن کي اسان حق سان بڻايو آهي، پر انهن مان گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن. بيشڪ فيصلي جو ڏينهن سيني لاءِ هڪ مقرر وقت آهي، جنهن ڏينهن ڪو دوست (مٺ مائٽ) ڪنهن دوست جي ڪجھ ڪم نه ايندو ۽ نه وري انهن کي مدد ڏبي، سواءِ انهيءَ جي جنهن تي الله رحم فرمائي. بيشڪ هو غالب مهربان آهي. ٣٨-٤٢

زمين ۽ آسمان جي نظام تي غور ڪيو وڃي ته خبر پئي ٿي ته انهن جي تخليق نهايت بامعنيٰ انداز ۾ ٿي آهي. سڄي ڪائنات هڪ مقصد تحت عمل ڪري رهي آهي. جيڪڏهن ايئن نه هجي ته هن

دنيا ۾ انسان لاءِ شاندار تهذيب ۽ تعمير ناممڪن ٿي وڃي.

آخرت جو عقيدو ان ئي ڪائناتي مقصد جو حصو آهي، جيڪا ڪائنات ايتري بامعنيٰ انداز ۾ ٺاهي وئي هجي ته ناممڪن آهي جو اُها سراسر بي معنيٰ طور ختم ٿي وڃي. موجوده ڪائنات جو بامعنيٰ هجڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته اها هڪ بامعنيٰ ۽ بامقصد انجام تي ختم ٿيڻ واري آهي. آخرت ان ئي بامعنيٰ ۽ بامقصد انجام جو ٻيو نالو آهي.

دنيا جو موجوده مرحلو آزمائش جو مرحلو آهي. ان ڪري اڄ دنيا ۾ هر ماڻهو کي ان مان حصو ملي رهيو آهي. پر جڏهن آخرت ايندي ته ان وقت صرف انهن ماڻهن کي ان مان حصو ملندو جيڪي الله وٽ ان جا مستحق قرار ڏنا ويندا.

إِنَّ شَجَرَتَ الزَّقُّومِ ﴿٤٣﴾ طَعَامُ الْأَثِيمِ ﴿٤٤﴾ كَالْمُهْلِ ۚ يَغْلِي فِي الْبُطُونِ ﴿٤٥﴾ كَغَلْيِ الْحَمِيمِ ﴿٤٦﴾
خُذُوهُ فَاعْتِلُوهُ إِلَىٰ سَوَاءِ الْجَحِيمِ ﴿٤٧﴾ ثُمَّ صُبُّوا فَوْقَ رَأْسِهِ مِنْ عَذَابِ الْحَمِيمِ ﴿٤٨﴾
ذُقْ إِنَّكَ أَنْتَ الْعَزِيزُ الْكَرِيمُ ﴿٤٩﴾ إِنَّ هَٰذَا مَا كُنْتُمْ بِهِ تَمْتَرُونَ ﴿٥٠﴾

بيشڪ زقوم (ٿوهر) جو وڻ گنهگارن جو کاڌو هوندو. پگھريل ٽامي وانگر پيٽ ۾ ٽهڪندو، جهڙي طرح گرم پاڻي ٽهڪندو آهي. هن کي پڪڙيو ۽ جهنم جي وچ تائين گھليندا وڃو. پوءِ ان جي مٿي تي ٽهڪندڙ پاڻي جو عذاب وجهو. چک ان کي تون وڏو عزت وارو سگهارو هئين، هي اها ئي شيءِ آهي جنهن ۾ توهان شڪ ڪندا هئا. ٤٣-٥٠

---

هتي ۽ ٻين جاين تي جهنم جي جيڪا تصوير قرآن ۾ پيش ڪئي وئي آهي اها هر زنده ماڻهو کي تڙپائي ڇڏڻ لاءِ ڪافي آهي، جيڪو ماڻهو بہ پنهنجي مستقبل جي باري ۾ سنجيده هوندو ان کي اهي لفظ لوڏي ڇڏيندا ۽ هو جهنمي رستي کي ڇڏي جنتي رستي ڏانهن ڊوڙندو.

پر جيڪي ماڻهو حقيقتن جي باري ۾ سنجيده نہ هجن، جيڪي رڳو پنهنجن خواهشن کي سچاڻندا هجن ۽ سندن پنهنجن خواهشن جي ٻاهر جيڪا حقيقت جي دنيا آهي ان جي باري ۾ اُهي غور فڪر ڪرڻ جي ضرورت محسوس نہ ڪندا هجن ته اُهي هن خبر کي ٻڌندا ۽ ان کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا. اهڙن ماڻهن لاءِ اهي لفظ ايئن آهن جيئن پٿر تي پاڻي وڌو وڃي ۽ اُهو ان جو اندر پُسائڻ بنا مٿان وهي وڃي.

إِنَّ الْمُتَّقِينَ فِي مَقَامٍ أَمِينٍ ﴿٥١﴾ فِي جَنَّاتٍ وَعُيُونٍ ﴿٥٢﴾ يَلْبَسُونَ مِنْ سُنْدُسٍ وَإِسْتَبْرَقٍ
مُتَقَابِلِينَ ﴿٥٣﴾ كَذَٰلِكَ وَزَوَّجْنَاهُمْ بِحُورٍ عِينٍ ﴿٥٤﴾ يَدْعُونَ فِيهَا بِكُلِّ فَاكِهَةٍ آمِنِينَ ﴿٥٥﴾
لَا يَذُوقُونَ فِيهَا الْمَوْتَ إِلَّا الْمَوْتَةَ الْأُولَىٰ ۖ وَوَقَاهُمْ عَذَابَ الْجَحِيمِ ﴿٥٦﴾ فَضْلًا مِنْ
رَبِّكَ ۚ ذَٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيمُ ﴿٥٧﴾

بيشڪ الله کان ڊڄڻ وارا امن واري جاءِ ۾ هوندا. باغن ۽ چشمن ۾ سنهي ريشم ۽ ٿلهي ريشم جا لباس پائي آمهون سامهون ويٺل هوندا ۽ اسان انهن کي پرڻائينداسون وڏين اکين وارين حورن سان. اُهي اُتي گھرندا هر

قسم جا ميوا اطمينان سان. اُهي اُتي موت کي نہ چکندا، پر اها موت جيکو اڳ (دنيا) ۾ اچي چڪو ۽ الله انهن کي جهنم جي عذاب کان بچايو. اهو تنهنجي رب جي فضل سان هوندو اهائي وڏي ڪاميابي آهي. ٥١-٥٧

هنن لفظن ۾ انسان جي پسند جي انهيءَ دنيا جي تصوير آهي، جيڪا ان جي خوابن ۾ آهي. هر ماڻهو پنهنجي پسند جي ان دنيا کي حاصل ڪرڻ چاهي ٿو، پر موجوده دنيا ۾ هو ان کي حاصل نہ ٿو ڪري سگهي. اها خوابن جي دنيا وڌيڪ اضافي سان جنت ۾ حاصل ٿي ويندي.

هر قسم جي ڏپ کان خالي هي دنيا انهن ماڻهن کي ملندي جيڪي دنيا ۾ الله کان ڊڄڻ وارا هئا. ابدي نعمتن سان ڀريل اها زندگي انهن کي ملندي جن ان جي خاطر دنيا جي وقتي نعمتن کي قربان ڪيو هو. آخرت جي ان عظيم ڪاميابي ۾ اُهي ماڻهو داخل ٿيندا جن ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي دنيا جي ڪاميابي کي خطري ۾ وجهڻ جي حوصلي جو ثبوت ڏنو.

ع ٢٧ ٣ ١٦ فَاِنَّمَا يَسَّرْنٰهُ بِلِسَانِكَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٥٨﴾ فَارْتَقِبْ اِنَّهُمْ مُّرْتَقِبُوْنَ ﴿٥٩﴾

پوءِ اسان قرآن کي آسان ڪيو تنهنجي ٻولي ۾ تہ جيئن اُهي نصيحت وٺن. پوءِ تون انتظار ڪر. بيشڪ اُهي بہ انتظار ڪرڻ وارا آهن. ٥٨-٥٩

قرآن بيشڪ هڪ عظيم ڪتاب آهي. ان سان گڏ اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ هو نهايت آسان ڪتاب آهي، پر ان جو آسان هجڻ نصيحت جي لحاظ کان آهي. يعني جيڪو ماڻهو قرآن ذريعي حق کي ڄاڻڻ چاهي، هو ان کي پاڻ لاءِ نهايت آسان لهندو، پر جيڪو ماڻهو حق جي تلاش جي معاملي ۾ سنجيده نہ هوندو تہ ان لاءِ قرآن ۾ ڪا آساني نہ آهي.

موجوده دنيا ۾ ماڻهو جي سنجيده هئڻ جي هڪ شرط اها آهي جو هو "انتظار" جي نفسيات نہ رکندو هجي، يعني حقيقت جو دليل جي سطح تي ظاهر ٿيڻ ئي ان جي لاءِ ڪافي ٿي وڃي جو هو ان کي مڃي وٺي. جيڪو ماڻهو دليل جي سطح تي ثابت ٿي وڃڻ کان پوءِ بہ حق کي نہ مڃي. اهو ڄڻ تہ ان ڳالهہ جو انتظار ڪري رهيو آهي تہ حقيقت غيب مان ظاهر ٿي ان جي سامهون اچي وڃي، پر جڏهن حقيقت ظاهر ٿي سامهون ايندي آهي تہ اها ميرائڻ لاءِ نہ ايندي آهي، بلڪ ان لاءِ ايندي آهي جو اعتراف ڪرڻ وارن جي قدر ڪري ۽ جنهن ان جو اڳ ۾ اعتراف نہ ڪيو هو، ان کي هميشہ لاءِ اونداهي واري کوهہ ۾ وجهي ڇڏي.

اياتها ٣٧ (٤٥) سُوْرَةُ الْجَاثِيَةِ مَكِّيَّةٌ (٦٥) رکوعاتها ٤

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

حٰمٓ ﴿١﴾ تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ﴿٢﴾ اِنَّ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ لَاٰيٰتٍ
لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٣﴾ وَ فِيْ خَلْقِكُمْ وَ مَا يَبُثُّ مِنْ دَآبَّةٍ اٰيٰتٌ لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿٤﴾ وَ اخْتِلَافِ الَّيْلِ

وَ النَّهَارِ وَ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ مِنَ السَّمَآءِ مِنْ رِّزْقٍ فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا وَ
تَصْرِيْفِ الرِّيٰحِ اٰيٰتٌ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ۝ تِلْكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ۚ فَبِاَيِّ
حَدِيْثٍۭ بَعْدَ اللّٰهِ وَ اٰيٰتِهٖ يُؤْمِنُوْنَ۝

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

حٰمٓ. هي نازل ٿيل ڪتاب آهي الله غالب حڪمت واري طرفان. بيشڪ آسمانن ۽ زمين ۾ نشانيون آهن ايمان وارن لاءِ ۽ توهان جي بڻاوٽ ۾ ۽ انهن جانورن ۾ جن کي هن زمين ۾ پکيڙيو آهي نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي يقين رکندا آهن ۽ رات ۽ ڏينهن جي ڦير گهير ۾ ۽ ان روزي ۾ جيڪا ان (الله) آسمان کان نازل ڪئي، پوءِ ان سان زمين کي زنده ڪيائين ان جي مرڻ کان پوءِ. هوائن جي گردش ۾ به نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي عقل رکندا آهن. هي الله جون آيتون آهن جن کي حق سان توکي پڙهي ٻڌائي رهيا آهيون، پوءِ الله ۽ سندس آيتن کان پوءِ ڪهڙي ڳالهه آهي جنهن تي هو ايمان آڻيندا. ١-٦

اهو چوڻ ته قرآن عزيز ۽ حڪيم الله طرفان نازل ٿيو آهي جڻ خود الله جو پنهنجي طرفان هڪ اهڙو قطعي معيار ڏيڻ آهي جنهن تي ان جي صداقت کي پرکي سگهجي ٿو. الله غالب طرفان ان جي نازل ٿيڻ جو مطلب اهو آهي ته ڪو به هن ڪتاب کي زير نه ڪري سگهندو. قرآن هرحال ۾ پنهنجن مخالفن تي غالب اچي رهندو.

اها ڳالهه مڪي دور ۾ چئي وئي هئي، ان وقت حالتون سراسر قرآن جي خلاف هيون، پر بعد جي تاريخ حيرت انگيز طور تي ان جي تصديق ڪئي. قرآن جي دعوت کي تاريخ جي سيني کان وڏي ڪاميابي حاصل ٿي.

اهڙي طرح خدا حڪيم طرفان نازل ٿيڻ جو تقاضو اهو آهي ته ان جا مضمون سڀ جا سڀ عقل ۽ دانش جي معيار تي هجن. اها ڳالهه ڏيڍ هزار سال کان مسلسل درست ثابت ٿيندي پئي اچي. قرآن سائنس جي دور کان اڳ ۾ نازل ٿيو، پر سائنس جي دور ۾ به قرآن جي ڪا ڳالهه عقل جي خلاف ثابت نه ٿي سگهي. ان کان علاوه جيڪا ڪائنات انسان جي چئني پاسي پکڙيل آهي، ان جون سڀئي شيون قرآن جي پيغام جي تصديق بڻجي ويون آهن، پر اها تصديق صرف رڳو انهن ماڻهن لاءِ تصديق بڻجندي جن جي اندر يقين ڪرڻ وارو ذهن هجي، جيڪي نشانين جي زبان ۾ ظاهر ڪئي وڃڻ واري ڳالهه کي سمجهڻ جي صلاحيت رکندا هجن.

وَيْلٌ لِّكُلِّ اَفَّاكٍ اَثِيْمٍ۝ يَّسْمَعُ اٰيٰتِ اللّٰهِ تُتْلٰى عَلَيْهِ ثُمَّ يُصِرُّ مُسْتَكْبِرًا كَاَنْ لَّمْ
يَسْمَعْهَا ۚ فَبَشِّرْهُ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ۝ وَ اِذَا عَلِمَ مِنْ اٰيٰتِنَا شَيْئَا اِتَّخَذَهَا هُزُوًا ؕ اُولٰٓئِكَ
لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ۝ مِنْ وَّرَآئِهِمْ جَهَنَّمُ ۚ وَ لَا يُغْنِيْ عَنْهُمْ مَّا كَسَبُوْا شَيْئًا وَّ لَا مَا
اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْلِيَآءَ ۚ وَ لَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ۝ هٰذَا هُدًى ۚ وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا
بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ لَهُمْ عَذَابٌ مِّنْ رِّجْزٍ اَلِيْمٌ۝

خرابي آهي هر ان ماڻهو لاءِ جيڪو ڪوڙو گنهگار آهي. جيڪو الله جي آيتن کي پڙهندو آهي جڏهن اهي ان جي سامهون پڙهيون وڃن ٿيون. پوءِ هو آڪڙجي ضد ڪندو آهي ڄڻ هن اُهي ٻڌيون ئي نہ هيون. پوءِ تون هن کي هڪ ڏکوئيندڙ عذاب جي خوشخبري ڏئي ڇڏ ۽ جڏهن هو اسان جي آيتن مان ڪنهن ڳالھ کان واقف ٿيندو آهي تہ ان کي ٺٺول ڪري وٺندو آهي. اهڙن ماڻهن لاءِ ذلت جو عذاب آهي. سندن اڳيان جهنم آهي ۽ جيڪو ڪجھ انهن ڪمايو اهو سندن ڪجھ ڪم اچڻ وارو نہ آهي ۽ نہ اهي جن کي انهن الله کان سواءِ ڪارساز بڻايو ۽ انهن لاءِ وڏو عذاب آهي. هي هدايت آهي ۽ جن پنهنجي رب جي آيتن جو انڪار ڪيو انهن لاءِ سخت سزا جو ڏکوئيندڙ عذاب آهي. ٧-١١

حق جو اعتراف اڪثر حالتن ۾ پنهنجي وڏائي کي وڃائڻ جي هم معنيٰ هوندو آهي. ماڻهو پنهنجي وڏائي کي وڃائڻ نہ ٿو چاهي. ان ڪري هو حق جو اعتراف بہ نہ ٿو ڪري، پر حق جي اڳيان نہ جهڪڻ الله جي اڳيان نہ جهڪڻ آهي. اهڙن ماڻهن لاءِ الله وٽ سخت ترين عذاب آهي.

ماڻهو جيڪڏهن تڪبرجي ڪري حق کان منهن موڙيندو آهي تہ پنهنجي رويي جي جواز لاءِ هو نظرياتي دليل پيش ڪندو آهي، پر ان دليل جي حقيقت ڪوڙن لفظن کان وڌيڪ ڪجھ بہ نہ هوندي آهي. اهڙو ماڻهو ڪنهن شيءِ کي غلط مفهوم ڏئي هڪ بي بنياد ڳالھ ڪندو آهي ۽ پوءِ اجايا بحث ڪري حق ۽ ان جي داعي جو مذاق اڏائڻ لڳندو آهي، اهڙا ماڻهو سخت سزا جا مستحق آهن. چاڪاڻ تہ اهي بدعملي تي سرڪشي جو اضافو ڪري رهيا آهن. ان سرڪشي تي انهن کي جيڪا شيءِ آماده ڪندي آهي، اها سندن دنياوي حيثيت آهي، پر ڪنهن جي دنياوي حيثيت آخرت ۾ ان جي ڪجھ بہ ڪم اچڻ واري نہ آهي.

اَللّٰهُ الَّذِیْ سَخَّرَ لَكُمُ الْبَحْرَ لِتَجْرِیَ الْفُلْكُ فِیْهِ بِاَمْرِهٖ وَ لِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ﴿۱۲﴾ وَ سَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِی السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِی الْاَرْضِ جَمِیْعًا مِّنْهُ ؕ اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَاٰیٰتٍ لِّقَوْمٍ یَّتَفَكَّرُوْنَ﴿۱۳﴾

الله اُهو آهي جنهن توهان لاءِ سمنڊ کي تابع ڪيو تہ جيئن ان جي حڪم سان ان ۾ ٻيڙيون هلن ۽ تہ جيئن توهان سندس فضل تلاش ڪريو ۽ تہ جيئن توهان شڪر ڪريو ۽ هن آسمانن ۽ زمين جي سيني شين کي پنهنجي طرفان توهان جي تابع ڪري ڇڏيو. بيشڪ ان ۾ نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي غور ڪندا آهن. ١٢-١٣

پاڻي بظاهر ٻوڙڻ واري شيءِ آهي، پر الله تعاليٰ ان کي اهڙي قانون جو پابند بڻايو آهي تہ سمنڊ جي مٿان وڏا وڏا جهاز هڪ پاسي کان ٻئي پاسي هلندا آهن ۽ حفاظت سان پنهنجي منزل تي پهچي ويندا آهن. اهو ئي معاملو ڪائنات جو آهي، ڪائنات اهڙي طرح ٺاهي وئي آهي جو اها پوري طرح انسان جي تابع آهي. انسان جهڙي طرح چاهي ان کي پنهنجي فائدي لاءِ استعمال ڪري سگهي ٿو. موجوده دنيا جي اها ئي خاصيت آهي جنهن ڪري اهو ممڪن ٿيو آهي تہ هتي انسان پاڻ لاءِ شاندار تهذيب جي تعمير ڪري سگهي.

ڪائنات جو موجوده ڍانچو ئي ان جو آخري ۽ واحد ڍانچو نہ آهي. اها ٻين ڪيترن ئي طريقن سان بہ ٺهي پئي سگهي، پر مختلف طريقن مان اهو ئي هڪ طريقو حقيقت بڻيو جيڪو اسان جي لاءِ فائديمند هو. اها هڪ نشاني آهي جنهن ۾ غور ڪرڻ وارا غور ڪن تہ هو ان ۾ پاڻ لاءِ عظيم الشان سبق لهندا.

قُلْ لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يَغْفِرُوْا لِلَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ اَيَّامَ اللّٰهِ لِيَجْزِيَ قَوْمًا بِمَا كَانُوْا
يَكْسِبُوْنَ ﴿١٤﴾ مَنْ عَمِلَ صَالِحًا فَلِنَفْسِهٖ ۚ وَ مَنْ اَسَآءَ فَعَلَيْهَا ۫ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ
تُرْجَعُوْنَ ﴿١٥﴾

ايمان وارن کي چؤ تہ انهن ماڻهن کان درگذر ڪن جيڪي الله جي ڏينهن جي اميد نٿا رکن تہ جيئن الله هڪ قوم کي سندس ڪمائي جو بدلو ڏي. جيڪو ماڻهو نيڪ عمل ڪندو سو پاڻ لاءِ ۽ جنهن ماڻهو برو ڪيو تنهن جو وبال مٿس ئي آهي. پوءِ توهان پنهنجي رب ڏانهن موٽايا ويندؤ. ١٤-١٥

جن ماڻهن کي اهو يقين نہ هجي تہ انهن تي الله جي فيصلي وارو ڏينهن اچڻ وارو آهي، اهي ظلم ڪرڻ ۾ بيخوف ٿي ويندا آهن. اُهي حق جي داعي کي هر طريقي سان ستائيندا آهن. ان وقت داعي جي دل ۾ انتقام جو جذبو پيدا ٿيندو آهي، پر داعي کي گهرجي تہ هو آخري وقت تائين مدعو کان درگذر ڪري. هو پنهنجي سڄي توجه دعوت تي لڳائي ۽ ماڻهن جي ايذا ۽ بدعملن تي پڪڙ ۽ سزا جو معاملو خدا جي حوالي ڪري ڇڏي .

داعي جي ڪوشش جي قدر ۽ قيمت ان لحاظ کان مقرر نہ ٿيندي آهي جو ان ڪيترن ماڻهن کي حق ڏانهن موڙيو. سندس ڪوشس جي قدر ۽ قيمت الله وٽ ان لحاظ کان مقرر ٿيندي آهي تہ هو پاڻ ڪيترو وڌيڪ حق تي قائم رهيو. حق جو داعي هئڻ جي تقاضن کي انهيءَ پاڻ ڪيترو پورو ڪيو.

وَ لَقَدْ اٰتَيْنَا بَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ الْكِتٰبَ وَ الْحُكْمَ وَ النُّبُوَّةَ وَ رَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ وَ
فَضَّلْنٰهُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦﴾ وَ اٰتَيْنٰهُمْ بَيِّنٰتٍ مِّنَ الْاَمْرِ ۚ فَمَا اخْتَلَفُوْۤا اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا
جَآءَهُمُ الْعِلْمُ ۙ بَغْيًۢا بَيْنَهُمْ ؕ اِنَّ رَبَّكَ يَقْضِيْ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ
يَخْتَلِفُوْنَ ﴿١٧﴾ ثُمَّ جَعَلْنٰكَ عَلٰى شَرِيْعَةٍ مِّنَ الْاَمْرِ فَاتَّبِعْهَا وَ لَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَ الَّذِيْنَ لَا
يَعْلَمُوْنَ ﴿١٨﴾ اِنَّهُمْ لَنْ يُّغْنُوْا عَنْكَ مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ؕ وَ اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ
بَعْضٍ ۚ وَ اللّٰهُ وَلِيُّ الْمُتَّقِيْنَ ﴿١٩﴾ هٰذَا بَصَآئِرُ لِلنَّاسِ وَ هُدًى وَّ رَحْمَةٌ لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿٢٠﴾

۽ اسان بني اسرائيل کي ڪتاب ۽ حڪم ۽ نبوت ڏني ۽ انهن کي پاڪ رزق عطا ڪيو ۽ اسان ڪين دنيا وارن تي فضيلت ڏني ۽ اسان ڪين دين بابت پڌرا دليل ڏنا. پوءِ انهن اختلاف نہ ڪيو پر ان کان بعد جو انهن وٽ علم اچي چڪو هو پاڻ ۾ ضد جي ڪري. بيشڪ تنهنجو رب قيامت جي ڏينهن سندن وچ ۾ فيصلو ڪندو انهن شين بابت جن ۾ اهي پاڻ ۾ اختلاف ڪندا هئا. پوءِ اسان توکي دين جي پڌري واٽ تي قائم ڪيو، پوءِ تون ان دين جي تابعداري ڪر ۽ انهن ماڻهن جي خواهشن جي پيروي نہ ڪر جيڪي علم نہ ٿا رکن. اهي ماڻهو الله جي مقابلي ۾ تنهنجي ڪجهہ ڪم نہ ٿا اچي سگهن ۽ ظالم ماڻهو هڪ ٻئي جا ساٿي آهن ۽ ڊڄڻ وارن جو دوست الله آهي. هي ماڻهن لاءِ بصيرت جون ڳالهيون آهن ۽ هدايت ۽ رحمت انهن ماڻهن لاءِ جيڪي يقين رکندا آهن. ١٦-٢٠

”بني اسرائيل کي اسان دنيا وارن تي فضيلت ڏني“. هي اُها ئي ڳالهہ آهي جيڪا امت محمدي

جي باري ۾ هنن لفظن ۾ چئي وئي آهي تہ ”توهان خير امت آهيو“. ڪنهن جماعت کي الله جي ڪتاب جو وارث بڻائڻ ان کي ٻين قومن تي هدايت جو ذميدار بڻائڻ آهي. اهو ئي ان جي فضيلت يا افضل الامم يا خير الامم ٿيڻ آهي.

اصولي طور تي بني اسرائيل جي حيثيت بہ اهڙي طرح عالمي هئي، جهڙي طرح مسلم امت جي حيثيت عالمي آهي. پر بني اسرائيل پنهنجي ڪتاب ۾ تبديليون ڪري هميشہ لاءِ پنهنجو اهو حق وڃائي ڇڏيو.

دين جي اصل تعليم ۾ هميشہ وحدت هوندي آهي، پر عالمن جا هٿ ٺوڪيل اضافا ان ۾ اختلاف پيدا ڪري ڇڏيندا آهن. هر عالم پنهنجي ذوق جي لحاظ کان الڳ الڳ اضافو ڪندو آهي. ان کان پوءِ هر عالم ۽ ان جي پيروي ڪرڻ وارا پنهنجن اضافن کي صحيح ۽ ٻين جي اضافن کي غلط ثابت ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويندا آهن. اهڙي طرح دين ۾ فرقا بڻجڻ شروع ٿيندا آهن ۽ آخرڪار ڳالھ ايستائين پهچندي آهي تہ هڪ دين ڪيترن ئي دينن ۾ تقسيم ٿي ويندو آهي.

بني اسرائيل جڏهن نازل ٿيل دين کي سڌي واٽ کان هٽيل دين جي حيثيت ڏئي ڇڏي تہ ان وقت الله محمد ﷺ جي ذريعي قرآن نازل فرمايو، ڇاڪاڻ تہ پاڻ ﷺ کان پوءِ ڪو پيغمبر اچڻ وارو نہ هو. ان ڪري الله خاص اهتمام ڪري قرآن کي محفوظ ڪري ڇڏيو، تہ جيئن ٻيهر اهڙي صورتحال پيدا نہ ٿئي جو الله جو دين انساني اضافن ۾ گم ٿي رهجي وڃي.

اَمْ حَسِبَ الَّذِيْنَ اجْتَرَحُوا السَّيِّاٰتِ اَنْ نَّجْعَلَهُمْ كَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ
ع سَوَآءً مَّحْيَاهُمْ وَ مَمَاتُهُمْ ؕ سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ﴿٢١﴾ وَ خَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ ١٨
بِالْحَقِّ وَلِتُجْزٰى كُلُّ نَفْسٍۭ بِمَا كَسَبَتْ وَ هُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٢٢﴾

ڇا اهي ماڻهو جن برايون ڪيون اهو خيال ڪندا آهن تہ اسان انهن کي انهن ماڻهن وانگر ڪنداسون جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا تہ سندن جيئڻ ۽ مرڻ هڪ جهڙو ٿي وڃي. تمام بڇڙو فيصلو آهي جيڪو هو ڪري رهيا آهن ۽ الله آسمانن ۽ زمين کي حڪمت سان پيدا ڪيو، تہ جيئن هر شخص کي سندس ڪيل ڪمائي جو بدلو ڏنو وڃي ۽ انهن تي ڪو ظلم نہ ڪيو ويندو. ٢١-٢٢

---

جيڪو ماڻهو اهو خيال ڪري تہ ماڻهو چڱو بڻجي رهي يا برو بڻجي، سڀ برابر آهي. آخرڪار ٻنهي کي مري ناس ٿيڻو آهي. هو نهايت غلط خيال پنهنجي دماغ ۾ قائم ڪري ٿو. ايئن سمجهڻ ان انصاف جي شعور جي خلاف آهي جيڪو هر ماڻهو جي فطرت ۾ پيدائشي طور موجود آهي. وڌيڪ اهو تہ هي ڪائنات جي ان معنويت جو انڪار ڪرڻ آهي جيڪا ان جي نظام ۾ ڪمال درجي ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. حقيقت اها آهي تہ انسان جي فطرت ۽ ان جي ٻاهر جي وسيع ڪائنات ٻئي ان خيال کي سراسر باطل ثابت ڪري رهيا آهن تہ زندگي کي هڪ اهڙي بي مقصد شيءِ سمجهي ونجي، جنهن جو ڪو انجام سامهون اچڻ وارو نہ آهي.

اَفَرَءَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ وَ اَضَلَّهُ اللّٰهُ عَلٰى عِلْمٍ وَّ خَتَمَ عَلٰى سَمْعِهٖ وَ قَلْبِهٖ وَ
جَعَلَ عَلٰى بَصَرِهٖ غِشٰوَةً ؕ فَمَنْ يَّهْدِيْهِ مِنْۢ بَعْدِ اللّٰهِ ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٣﴾

چا تو ان شخص کي ڏٺو جنهن پنهنجي خواهش کي پنهنجو معبود بڻائي رکيو آهي ۽ ڄاڻ هوندي به الله کيس گمراه ڪيو ۽ سندس ڪنن تي ۽ سندس دل تي مهر هنيائين ۽ سندس اکين تي پردو وڌائين، پوءِ اهڙي ماڻهو کي ڪير هدايت ڏئي سگهي ٿو ان کان پوءِ جو الله کيس گمراه ڪيو هجي چا توهان نصيحت نه ٿا وٺو. ٢٣

---

خواهش کي پنهنجو معبود ڪري وٺڻ جو مطلب خواهش کي پنهنجي زندگي ۾ سڀني کان وڌو مقام ڏيڻ آهي. جيڪو ماڻهو پنهنجي خواهش تحت سوچي ۽ پنهنجي خواهش تحت عمل ڪري اهو ڄڻ پنهنجي خواهش کي پنهنجو معبود ڪري ويٺو آهي.

ماڻهو جو عقل، صحيح ۽ غلط کي سڃاڻڻ جي ڪامل صلاحيت رکي ٿو، پر جيڪو ماڻهو پنهنجي عقل کي پنهنجي خواهش جي تابع ڪري ڇڏي ان جو حال اهو ٿي ويندو آهي ته جڏهن ان جي سامهون حق جا دليل ايندا آهن ته هو انهن جي وزن کي محسوس نه ٿو ڪري سگهي. هو هر ڳالهه جي جواب ۾ هڪ هٿ ٺوڪيل ڪوڙو دليل پيش ڪري ان کي رد ڪري ڇڏيندو آهي. ماڻهو جي اها عادت آخرڪار ان جي عقل جي قوتن کي مٿائي ڇڏيندي آهي، پوءِ ان جا ڪن لفظ ٻڌندا آهن پر انهن جي معنيٰ نه ٿا سمجهي سگهن. ان جون اکيون حقيقت کي ڏسنديون آهن، پر اهي ان مان سبق نه ٿيون وٺي سگهن. ان جي دل تائين هڪ سچائي پهچندي آهي، پر اها ان جي دل کي نٿي ٽڙپائي.

عقل جي قوتن کي الله هدايت جي داخل ٿيڻ جو دروازو بڻايو آهي، پر جيڪو ماڻهو پنهنجي خواهش پرستي ۾ انهن دروازن کي بند ڪري ڇڏي ته ان ماڻهو جي اندر هدايت داخل ٿيندي ته آخر ڪهڙي رستي کان داخل ٿيندي.

وَ قَالُوْا مَا هِيَ اِلَّا حَيَاتُنَا الدُّنْيَا نَمُوْتُ وَ نَحْيَا وَ مَا يُهْلِكُنَاۤ اِلَّا الدَّهْرُ ۚ وَ مَا لَهُمْ
بِذٰلِكَ مِنْ عِلْمٍ ۚ اِنْ هُمْ اِلَّا يَظُنُّوْنَ ﴿٢٤﴾ وَ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ مَّا كَانَ حُجَّتَهُمْ
اِلَّاۤ اَنْ قَالُوا ائْتُوْا بِاٰبَآئِنَاۤ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٢٥﴾ قُلِ اللّٰهُ يُحْيِيْكُمْ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ
ع ٣ ١٩ يَجْمَعُكُمْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَا رَيْبَ فِيْهِ وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٦﴾

۽ اهي چوندا آهن ته اسان جي هن دنيا جي زندگي کان سواءِ ٻي ڪا زندگي نه آهي، اسان مرندا آهيون ۽ جيئندا آهيون ۽ اسان کي رڳو زمانو ماريندو آهي. انهن کي هن ڳالهه جي ڪا ڄاڻ نه آهي اهي رڳو اٽڪل هڻندا آهن ۽ جڏهن کين اسان جون پڌريون آيتون ٻڌايون وڃن ٿيون ته انهن وٽ ڪا حجت ان کان سواءِ نه هوندي آهي ته اسان جي ابن ڏاڏن کي زنده ڪري آڻيو، جيڪڏهن توهان سچا آهيو، چؤ ته الله ئي توهان کي زنده ڪري ٿو پوءِ هو توهان کي ماريندو آهي، پوءِ هو قيامت جي ڏينهن توهان کي گڏ ڪندو. ان ۾ ڪو شڪ نه آهي. پر اڪثر ماڻهو نه ٿا ڄاڻن. ٢٤-٢٦

---

”اسان کي زماني جي گردش هلاڪ ڪندي آهي.“ اهو عام ماڻهن جو قول نه آهي. اهڙي قسم جو ڳالهيون هميشه خاص قسم جا ماڻهو ڪندا آهن. هي اُهي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي ذهانت جي ڪري اڪثر سماج جي فڪري نمائندي جي حيثيت حاصل ڪري وٺندا آهن. جيئن ته هو اُهي ڳالهيون رڳو قياس جي بنياد تي ڪندا آهن، نه وري هو ڪنهن حقيقي علم جي بنياد تي ايئن چوندا آهن. ان جي

مقابلي پيغمبر جيڪا ڳالھ چوندو آھي، ان جي بنياد ٺوس حقيقت تي قائم آھي.

اسان روزانو ڏسندا آھيون تہ ھڪ ماڻھو نہ ھو. پوءِ ھو پيدا ٿي حاضر ٿي ويو. ان ڪان پوءِ ھو پيھر مري ٿو ۽ جڻ ھر ماڻھو ڪي موت ڪان پوءِ زندگي ملندي آھي ۽ زندگي ڪان بعد ھو پيھر مري ٿو وڃي. اھو ان ڳالھ جو ثبوت آھي تہ جھڙي طرح پھريون پيرو موت ڪان بعد زندگي ھئي، اھڙي طرح ٻيو پيرو بہ موت ڪان بعد زندگي ھوندي.

ان مان واضح طور تي موت ڪان پوءِ زندگي جو ممڪن ھئڻ ثابت ٿيندو آھي. ان ڪان پوءِ اھو مطالبو ڪرڻ غلط آھي تہ جيڪي ماڻھو سياڻي پيھر پيدا ٿيڻ وارا آھن، انھن ڪي اڄ پيدا ڪري ڏيکاريو. ڇاڪاڻ تہ موجوده دنيا امتحان لاءِ آھي ۽ جيڪڏھن موجوده دنيا ۾ اچڻ واري دنيا جو حال ڏيکاري ڇڏجي تہ پوءِ امتحان جي مصلحت باقي نہ رھندي.

وَ لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ وَ يَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ يَوْمَئِذٍ يَّخْسَرُ الْمُبْطِلُوْنَ ﴿۲۷﴾ وَ
تَرٰى كُلَّ اُمَّةٍ جَاثِيَةً ۫ كُلُّ اُمَّةٍ تُدْعٰۤى اِلٰى كِتٰبِهَا ؕ اَلْيَوْمَ تُجْزَوْنَ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۲۸﴾
هٰذَا كِتٰبُنَا يَنْطِقُ عَلَيْكُمْ بِالْحَقِّ ؕ اِنَّا كُنَّا نَسْتَنْسِخُ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۲۹﴾

۽ الله ئي جي بادشاھي آھي آسمانن ۽ زمين ۾ ۽ جنھن ڏينھن قيامت قائم ٿيندي ان ڏينھن ڪوڙا خساري ۾ پئجي ويندا ۽ تون ھر ڪنھن ٽولي کي گوڏن ڀر ڪريل ڏسندين. ھر ٽولي پنھنجي اعمال نامي ڏانھن سڏبي. اڄ توھان کي ان عمل جو بدلو ڏنو ويندو جيڪو توھان ڪندا ھئا. ھي اسان جو دفتر آھي جيڪو توھان تي ٺيڪ ٺيڪ شاھدي ڏئي رھيو آھي. اسان لکرائيندا ويندا ھئاسون جيڪو ڪجھ توھان ڪندا ھئا. ٢٧-٢٩

---

جيڪي ماڻھو الله جي بنياد تي دنيا ۾ بيٺل ھجن، اھي حق جي بنياد تي بيٺل ھوندا آھن ۽ جيڪي ماڻھو ان ڪان سواءِ ٻي ڪنھن بنياد تي بيٺل آھن، اھي باطل جي بنياد تي بيٺل آھن. اھڙا سيئي ماڻھو آخرت ۾ بي سھارا ٿي رھجي ويندا. ڇاڪاڻ تہ انھن جنھن شيءِ کي بنياد سمجھي سھارو ورتو ھو، اھو ڪو بنياد ٿي نہ ھو. اھو رڳو ڏوڪو ھو جيڪو حقيقت ظاھر ٿيندي ئي ختم ٿي ويو.

عملن کي لکرائڻ مان مراد معروف معني ۾ قلم سان لکرائڻ نہ آھي، بلڪ عملن کي ريڪارڊ ڪرائڻ آھي. انسان جي نيت ان جو قول ۽ ان جو عمل سڀ نھايت صحيح طور خدائي انتظام تحت رڪارڊ ٿي رھيا آھن. آخرت ۾ انسان سان جيڪو معاملو ٿيندو اھو عين ان رڪارڊ مطابق ٿيندو. اھو رڪارڊ ايترو حقيقي ھوندو جو ڪنھن جي لاءِ ممڪن نہ ٿيندو جو ان جو انڪار ڪري سگھي.

فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَيُدْخِلُهُمْ رَبُّهُمْ فِيْ رَحْمَتِهٖ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ
الْمُبِيْنُ ﴿۳۰﴾ وَ اَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۫ اَفَلَمْ تَكُنْ اٰيٰتِيْ تُتْلٰى عَلَيْكُمْ فَاسْتَكْبَرْتُمْ وَ كُنْتُمْ
قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ ﴿۳۱﴾ وَ اِذَا قِيْلَ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّ السَّاعَةُ لَا رَيْبَ فِيْهَا قُلْتُمْ مَّا
نَدْرِيْ مَا السَّاعَةُ ۙ اِنْ نَّظُنُّ اِلَّا ظَنًّا وَّ مَا نَحْنُ بِمُسْتَيْقِنِيْنَ ﴿۳۲﴾

پوءِ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تہ سندن رب ڪين پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪندو. اها پڌري ڪاميابي آهي ۽ جن انڪار ڪيو ڇا توهان کي منهنجون آيتون پڙهي نہ ٻڌايون ويندي هيون. پوءِ توهان تڪبر ڪيو ۽ توهان ڏوهاري قوم هئا ۽ جڏهن چئبو هو تہ الله جو وعدو سچو آهي ۽ قيامت ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ توهان چوندا هئا اسين نٿا ڄاڻون تہ قيامت ڇا آهي. اسان تہ رڳو هڪ گمان رکندا آهيون ۽ اسان ان تي يقين ڪرڻ وارا نہ آهيون. ٣٠-٣٢

تڪبر مان مراد الله جي مقابلي ۾ تڪبر نہ آهي، بلڪ الله جي داعي جي مقابلي ۾ تڪبر آهي، الله جي ڳالهہ کي مڃڻ موجوده دنيا ۾ عملاً الله جي داعي جي ڳالهہ کي مڃڻ جي هم معنيٰ هوندو آهي. هاڻي جيڪي ماڻهو تڪبر ۾ مبتلا هجن، اهي ان کي پنهنجي مرتبي کان گهٽ سمجهندا آهن جو هو پاڻ جهڙي هڪ انسان جي ڳالهہ مڃي وٺن، تنهن ڪري هو ان کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن. ان جي ابتڙ جيڪي ماڻهو تڪبر جي نفسيات کان خالي هجن، اهي فوراً ان جي اڳيان جهڪي ويندا آهن. پهرين جماعت لاءِ الله جو غضب آهي ۽ ٻي جماعت لاءِ الله جي رحمت .

هڪ انسان جڏهن حق جو انڪار ڪندو آهي تہ پنهنجي انڪار کي جائز ثابت ڪرڻ لاءِ هو طرح طرح جون ڳالهيون ڪندو آهي. هو ڪڏهن داعي کي ناقابل اعتماد ثابت ڪندو آهي، ڪڏهن داعي جي پيغام ۾ شڪ جو پهلو ڪڍندو آهي، پر قيامت جي ڏينهن واضح ٿي ويندو تہ اهو سڀ مجرماڻي ذهن مان نڪتل ڳالهيون هيون، نہ وري حق پرست ذهن مان نڪتل ڳالهيون.

وَ بَدَا لَهُمْ سَيِّاٰتُ مَا عَمِلُوْا وَ حَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ۝٣٣ وَ قِيْلَ الْيَوْمَ نَنْسٰكُمْ كَمَا نَسِيْتُمْ لِقَآءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا وَ مَاْوٰىكُمُ النَّارُ وَ مَا لَكُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ۝٣٤ ذٰلِكُمْ بِاَنَّكُمُ اتَّخَذْتُمْ اٰيٰتِ اللّٰهِ هُزُوًا وَّ غَرَّتْكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۚ فَالْيَوْمَ لَا يُخْرَجُوْنَ مِنْهَا وَ لَا هُمْ يُسْتَعْتَبُوْنَ۝٣٥

۽ انهن تي سندن عملن جون برايون واضح ٿي وينديون ۽ اها شيءِ انهن کي گهيري وٺندي جنهن جو هو مذاق اڏائيندا هئا ۽ چيو ويندو تہ اڄ اسان توهان کي وساري ڇڏينداسون، جهڙي طرح توهان پنهنجي هن ڏينهن جي اچڻ کي وساري ڇڏيو هو ۽ توهان جو ٺڪاڻو باهہ آهي ۽ توهان جو ڪو مددگار نہ آهي، اهو ان ڪري جو توهان الله جي آيتن کي مذاق بڻايو ۽ دنيا جي زندگي توهان کي ڌوکي ۾ رکيو. تنهن ڪري اڄ ان منجهان نہ اهي ڪڍيا ويندا ۽ نہ سندن عذر قبول ڪيو ويندو. ٣٣-٣٥

موجوده دنيا ۾ ماڻهو جڏهن برائي ڪري ٿو تہ ان جا برا نتيجا فوراً ان جي سامهون نہ ٿا اچن. اها ڳالهہ ان کي دلير بڻائي ڇڏي ٿي. ان کي جڏهن سندس بدعملي کان ڊيڄاريو ويندو آهي تہ هو سنجيدگي سان ان کي ٻڌڻ لاءِ تيار نہ ٿو ٿئي، پر آخرت ۾ جڏهن سندس براين جا نتيجا سندس اکين جي سامهون اچي ويندا تہ هو پنهنجن برن عملن ۾ پوري طرح گهيرجي ويندو. ان وقت هو ان حق جو اقرار ڪري وٺندو جنهن کي ان دنيا ۾ ايترو بي قيمت سمجهيو هو جو هو ان جو مذاق اڏائيندو رهيو.

آخرت ۾ انسان ان حق جو اقرار ڪري وٺندو جنهن جو هو دنيا ۾ انڪار ڪندو رهيو، پر اتي ان جي اقرار کي قبول نہ ڪبو. ڇاڪاڻ تہ حق جو اقرار غيب جي سطح تي قيمت رکندو آهي، نہ وري ظاهر ٿيڻ کان پوءِ.

فَلِلّٰهِ الْحَمْدُ رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَرَبِّ الْاَرْضِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٣٦﴾ وَلَهُ الْكِبْرِيَآءُ فِي السَّمٰوٰتِ وَ
الْاَرْضِ ۪ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٣٧﴾

پوءِ سڀ ساراهه الله لاءِ آهي جيڪو رب آهي آسمانن جو ۽ رب آهي زمين جو ۽ سڀني جهانن جو پالڻهار آهي ۽ ان جي لاءِ وڏائي آهي آسمانن ۽ زمين ۾ ۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي. ٣٦-٣٧

ڪائنات بي پناهه حدتائين عظيم آهي. ان ڪري ان جو خالق ۽ مالڪ اهو ئي ٿي سگهي ٿو جيڪو بي پناهه حدتائين عظيم هجي ۽ اها عظيم هستي هڪ الله ڪان سواءِ ٻي ڪا نٿي ٿي سگهي. ڪو ماڻهو سنجيدگي سان اها جرائت نہ ٿو ڪري سگهي جو هو هڪ الله ڪان سواءِ ڪنهن ٻئي کي ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ قرار ڏي، پوءِ جڏهن ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ صرف هڪ هستي آهي تہ لازمي آهي تہ سڄي تعريف بہ ان ئي جي ٿيڻ گهرجي. انسان پنهنجي سڄي توجهه ان ئي ڏانهن لڳائي. هو ان ئي کي پنهنجو سڀ ڪجهه بڻائي وٺي.

موجوده دنيا ۾ انسان جو اهوئي رويو صحيح رويو آهي، جيڪو ڪائنات جي عظمت ۽ حڪمت جي مطابق هجي. جيڪو رويو ڪائنات جي عظمت ۽ حڪمت جي مطابق نہ هجي، اهو باطل آهي. اهڙو رويو انسان کي ڪاميابي تائين پهچائي نہ ٿو سگهي.

آياتها ٣٥ (٤٦) سُوْرَةُ الْاَحْقَافِ مَكِّيَّةٌ (٦٦) رکوعاتها ۴

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

حٰمٓ ﴿١﴾ تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ﴿٢﴾ مَا خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا
بَيْنَهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ وَاَجَلٍ مُّسَمًّى ۭ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَمَّآ اُنْذِرُوْا مُعْرِضُوْنَ ﴿٣﴾

الجزء السادس والعشرون (٢٦)

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

حٰمٓ. هن ڪتاب جو نازل ٿيڻ غالب حڪمت واري الله وٽان آهي. اسان نہ پيدا ڪيو آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪو انهن جي وچ ۾ آهي، پر حق سان ۽ هڪ مقرر وقت لاءِ ۽ جيڪي ماڻهو منڪر آهن، هو ان ڪان منهن موڙيندا آهن جنهن ڪان انهن کي ڊيڄاريو ويو آهي. ١-٣

ڪائنات جو مطالعو ٻڌائي ٿو تہ ان ۾ هر طرف حڪمت ۽ معنويت آهي. پوءِ اهڙو ڪارخانو جيڪو پنهنجي آغاز ۾ بامعنيٰ هجي تہ اهو پنهنجي اختتام ۾ بي معنيٰ ڪيئن ٿي ويندو.

حق پنهنجي ذات ۾ نهايت محڪم شيءِ آهي. اها ڪائنات جي سڀني ڪان وڏي طاقت آهي. ان جي باوجود ڇو ايئن آهي تہ جڏهن ماڻهن جي سامهون حق پيش ڪيو وڃي ٿو تہ هو ان جو انڪار ڪري ڇڏيندا آهن. ان جو سبب اهو آهي تہ موجوده دنيا ۾ ماڻهن کي حق جي رڳو خبر ڏني پئي وڃي. آخرت ۾ ايئن ٿيندو جو حق حقيقت بڻجي ماڻهن جي مٿان ظاهر ٿي پوندو. ان وقت اُهي ماڻهو حق جي سامهون جهڪي ويندا جيڪي ان ڪان اڳ ۾ حق کي بي قيمت ۽ غير اهم سمجهي ان کي نظرانداز ڪري رهيا هئا.

قُلْ اَرَءَيْتُمْ مَّا تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَرُوْنِيْ مَا ذَا خَلَقُوْا مِنَ الْاَرْضِ اَمْ لَهُمْ شِرْكٌ
فِي السَّمٰوٰتِ ؕ اِيْتُوْنِيْ بِكِتٰبٍ مِّنْ قَبْلِ هٰذَاۤ اَوْ اَثٰرَةٍ مِّنْ عِلْمٍ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ۝٤ وَ
مَنْ اَضَلُّ مِمَّنْ يَّدْعُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَنْ لَّا يَسْتَجِيْبُ لَهٗۤ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ وَ هُمْ عَنْ
دُعَآئِهِمْ غٰفِلُوْنَ ۝٥

چؤ تہ توھان غور ڪيو آھي انھن شين تي جن کي توھان الله کان سواءِ سڏيو ٿا. مون کي ڏيکاريو تہ انھن زمين ۾ ڇا پيدا ڪيو آھي يا انھن جي آسمان ۾ ڪا ڀائيواري آھي. جيڪڏھن توھان سچا آھيو تہ ھن کان اڳ آيل ڪو ڪتاب يا ڪو علمي دليل مون وٽ آڻيو ۽ ان شخصن کان وڌيڪ گمراھ ڪير آھي جو الله کي ڇڏي انھن کي سڏي جيڪي قيامت تائين ان جو جواب نٿا ڏئي سگھن ۽ انھن کي سندن سڏڻ جي خبر بہ نہ آھي. ٤-٥

مفسر ابن ڪثير ھتي ”ڪتاب“ مان مراد ڪوڙو دليل ۽ ”اثارة من علم“ مان مراد عقلي دليل ورتو آھي. (اي لادليل لڪم لانقليا ولا عقليا عليٰ ذالک).

علم حقيقت ۾ صرف بہ آھن. ھڪ الھامي علم (Revealed Knowledge) يعني اھو علم جو جيڪو پيغمبرن جي ذريعي انسانن تائين پھتو. ٻيو ثابت ٿيل علم (Established Knowledge) يعني اھو علم جنھن جو علم ھئڻ انساني تحقيق ۽ تجربن سان ثابت ٿي ويو ھجي. انھن ٻنھي مان ڪو بہ علم اھو نہ ٿو ٻڌائي تہ ھن ڪائنات ۾ ھڪ الله کان سواءِ ٻي ڪا ھستي آھي، جيڪا خدائي جي لائق آھي ۽ جڏھن علم جي ٻنھي ذريعن مان ڪو ذريعو بہ شرڪ جي گواھي نہ ٿو ڏي تہ شرڪ جو عقيدو انسان لاءِ ڪيئن صحيح ٿي سگھي ٿو. جيڪو ماڻھو الله کي ڇڏي ڪنھن ٻي شيءِ کي پنھنجو سھارو ٻڌائي، اھو سھارو آخرت جي ڏينھن ان کان بيزاري ظاھر ڪندو، نہ وري اِھو سندس مددگار ٿيندو.

وَ اِذَا حُشِرَ النَّاسُ كَانُوْا لَهُمْ اَعْدَآءً وَّ كَانُوْا بِعِبَادَتِهِمْ كٰفِرِيْنَ ۝٦ وَ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ
اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ ۙ هٰذَا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ۝٧ اَمْ يَقُوْلُوْنَ
افْتَرٰىهُ ؕ قُلْ اِنِ افْتَرَيْتُهٗ فَلَا تَمْلِكُوْنَ لِيْ مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ؕ هُوَ اَعْلَمُ بِمَا تُفِيْضُوْنَ فِيْهِ ؕ
كَفٰى بِهٖ شَهِيْدًۢا بَيْنِيْ وَ بَيْنَكُمْ ؕ وَ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ۝٨

۽ جڏھن ماڻھو گڏ ڪيا ويندا تہ اُھي (معبود) انھن جا دشمن ھوندا ۽ انھن جي عبادت جا منڪر ٿي ويندا ۽ جڏھن اسان جون پڌريون آيتون ڪين پڙھي ٻڌايون وينديون آھن تہ منڪر ماڻھو ان حق جي بابت جڏھن اھو انھن وٽ پھچي ٿو تہ چوندا آھن اِھو پڌرو جادو آھي. ڇا اھي ماڻھو چوندا آھن تہ ھن ان کي پاڻ ناھيو آھي. چؤ جيڪڏھن مون ان کي پاڻ ناھيو آھي تہ توھان مون کي الله کان ذرو بہ بچائي نٿا سگھو. جيڪي ڳالھيون توھان ناھيندا آھيو الله انھن کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو. ھو منھنجي ۽ توھان جي وچ ۾ شاھدي لاءِ ڪافي آھي ۽ اھو بخشڻھار مھربان آھي. ٦-٨

قديم عرب ۾ قرآن جي ٻڌڻ وارا قرآن جي پيغام کي اھو چئي رد ڪري ڇڏيندا آھن تہ اھو

اسان جي بزرگن جي دين جي خلاف آهي چاڪاڻ ته ماڻهن تي بزرگن جي عظمت ڇانيل هئي. اهو ان جي ڪري قرآن جو پيغام ٻڌي وحشت ۾ پوندا هئا، پر قرآن جو هڪ ٻيو پهلو هو ۽ اهو ان جو ادبي اعجاز هو. هر عربي ڄاڻ رکڻ وارو محسوس ڪري رهيو هو جو اهو غيرمعمولي ڪلام آهي. قرآن جي ان ٻئي پهلو جي اهميت گهٽائڻ لاءِ انهن ڇئي ڇڏيو ته اهو "سحر" آهي. يعني اهو جادو جو ڪرشمو آهي، نه وري حقيقت.

اهو صحيح آهي ته ڪجهه ماڻهن جو ڪلام ادب جي لحاظ کان غيرمعمولي هوندو آهي، پر انساني ڪلام جي ادب جي هڪ حد هوندي آهي. قرآن جو ادبي اعجاز ان حد کان تمام گهڻو مٿي آهي. قرآن جي ادبي عظمت ان کان گهڻي آهي جو ان کي انساني دماغ جو ڪرشمو چئي سگهجي.

جڏهن ٻي ڌر ضد تي لهي اچي ته ان وقت هڪ سنجيده انسان اهو ڪري سگهي ٿو جو هو اهو چئي ماٺ ڪري وڃي ته منهنجو ۽ توهان جو معاملو الله جي حوالي آهي. جيئن ته اها شڪست نه آهي، بلڪ هڪ تدبير آهي. ماڻهو جڏهن هڪ ضدي جي سامهون ماٺ ڪري ٿو ته هو پاڻ کي ان جي سامهون کان هٽائي خود انهيءَ کي ان جي ضمير جي سامهون بيهاري ڇڏيندو آهي، ته جيئن ان جي اندر ڪو احساس باقي هجي ته ان جو ضمير ان کي بيدار ڪري ڇڏي.

قُلۡ مَا كُنۡتُ بِدۡعًا مِّنَ الرُّسُلِ وَمَاۤ اَدۡرِىۡ مَا يُفۡعَلُ بِىۡ وَلَا بِكُمۡ‌ؕ اِنۡ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا يُوۡحٰۤى اِلَىَّ
وَمَاۤ اَنَا اِلَّا نَذِيۡرٌ مُّبِيۡنٌ ۝٩ قُلۡ اَرَءَيۡتُمۡ اِنۡ كَانَ مِنۡ عِنۡدِ اللّٰهِ وَكَفَرۡتُمۡ بِهٖ وَشَهِدَ شَاهِدٌ
مِّنۡۢ بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ عَلٰى مِثۡلِهٖ فَاٰمَنَ وَاسۡتَكۡبَرۡتُمۡ‌ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهۡدِى الۡقَوۡمَ الظّٰلِمِيۡنَ ۝١٠ ع

چؤ ته آئون ڪو نئون آيل رسول نه آهيان ۽ آئون نه ٿو ڄاڻان ته مون سان ڇا ڪيو ويندو ۽ توهان سان ڇا ڪيو ويندو. آئون ته صرف ان جي تابعداري ڪندو آهيان جيڪو مون ڏانهن وحي ڪيو ويندو آهي ۽ آئون ته رڳو پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان. چؤ توهان ڪڏهن سوچيو آهي ته جيڪڏهن هي قرآن الله طرفان آيل هجي ۽ توهان ان کي نه مڃو ۽ بني اسرائيل مان هڪ شاهد اهڙي ڪتاب تي شاهدي ڏني هجي، پوءِ انهيءَ ايمان آندو ۽ توهان تڪبر ڪيو. بيشڪ الله ظالمن کي هدايت نه ٿو ڏي . ٩-١٠

---

مڪي جي مشرڪن جي نظر ۾ يهودي دين جي علم وارا هئا. انهن کي هو پيغمبرن جي قوم سمجهندا هئا. تجارتي سفرن ۾ مشرڪن ۽ يهودين جون پاڻ ۾ ملاقاتون به ٿينديون رهنديون هيون. رسول اللهﷺ جڏهن مڪي ۾ هڪ اختلافي شخصيت بڻيل هئا ته مڪي جي ڪجهه مشرڪن يهودين کان پاڻﷺ جي باري ۾ پڇيو. ان وقت ڪنهن يهودي عالم انهن کي ٻڌايو ته اسان جي ڪتابن جي مطابق هڪ پيغمبر هن علائقي ۾ اچڻ وارو آهي، ٿي سگهي ٿو ته هي اهو ئي پيغمبر هجي. ان يهودي شخص بلواسطہ پاڻﷺ جي نبوت جو اقرار ڪيو.

هاڻي صورتحال اها ٿي وئي جو تاريخ مان ثابت ٿي رهيو هو ته الله جا پيغمبر الله جو ڪتاب کڻي ايندا آهن. قديم آسماني ڪتابن ۾ هي لکيل هو ته بني اسماعيل ۾ هڪ اهڙو پيغمبر اچڻ وارو آهي. رسول اللهﷺ جي ڪلام ۽ پاڻﷺ جي زندگي ۾ اُهي سڀئي علامتون واضح طور تي موجود هيون، جيڪي پيغمبرن ۾ هونديون آهن. انهن نشانين جي موجودگي ۾ جيڪي ماڻهو رسول اللهﷺ

جي پيغمبري جو انڪار ڪري رهيا هئا. اُهي ڪنهن مناسب ۽ منطقي سبب جي ڪري نه ڪري رهيا هئا، بلڪ رڳو ان لاءِ ڪري رهيا هئا جو هڪ شخص جنهن کي اڄ تائين هو هڪ معمولي ماڻهو سمجهندا هئا. ان کي الله جو پيغمبر مڃڻ ۾ سندن وڏائي باقي نه رهندي.

جن ماڻهن جو حال اِهو هجي ته انهن جي سامهون حق اچي ته هو تڪبر واري نفسيات جو شڪار ٿي وڃن. اهڙن ماڻهن جو ذهن انهن کي هميشه غلط رخ تي وٺي ويندو آهي ۽ اهو صحيح رخ ۾ سندن رهنمائي نه ٿو ڪري.

وَ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَوْ كَانَ خَيْرًا مَّا سَبَقُوْنَآ اِلَيْهِ ؕ وَ اِذْ لَمْ يَهْتَدُوْا بِهٖ فَسَيَقُوْلُوْنَ هٰذَآ اِفْكٌ قَدِيْمٌ ﴿۱۱﴾

۽ انڪار ڪرڻ وارا ايمان آڻڻ وارن جي نسبت چوندا آهن ته جيڪڏهن هي (اسلام) ڪا چڱي شيءِ هجي ها ته اهي (مؤمن) ان تي اسان کان اڳ ۾ اڳرائي نه ڪن ها ۽ جڏهن انهن (ڪافرن) ان سان واٽ نه لڌي تڏهن چوندا ته هي (قرآن) هڪ پراڻو ڪوڙ آهي. ١١

---

شروع ۾ جيڪي ماڻهو رسول الله جا ساٿي بڻيا. انهن ۾ ڪيترائي اهڙا ماڻهو هئا جيڪي ڪمزور ۽ غلامن جي طبقي سان تعلق رکندا هئا. مثال طور بلالؓ، عمارؓ، صهيبؓ ۽ خبابؓ وغيره. انهيءَ سان گڏ پاڻ ﷺ تي ايمان آڻڻ وارن مان اهي ماڻهو به هئا جيڪي عرب جي وڏن خاندانن سان تعلق رکندا هئا. مثلاً ابوبڪرؓ بن ابي قحافه، عثمانؓ بن عفان، عليؓ بن ابي طالب وغيره. پر پاڻ ﷺ جا مخالف رڳو پهرين قسم جي ماڻهن جو ذڪر ڪندا هئا. اهي ٻي قسم جي ماڻهن جو ذڪر نه ڪندا هئا. ان جو سبب اهو آهي ته جڏهن ڪنهن سان ضد ٿي ويندو آهي ته صرف انهن ڳالهين جو ذڪر ڪيو ويندو آهي جنهن جي ذريعي ان جي بيقدريءَ ۽ بي حرمتي جو موقعو ملندو هجي.

اهڙي طرح اها هڪ حقيقت هئي ته رسول الله ﷺ جي دعوت اُها ئي هئي، جيڪا اڳين سيني پيغمبرن جي دعوت هئي. پاڻ ﷺ هڪ ادبي صداقت کي کڻي آيا هئا. ان حقيقت کي پاڻ ﷺ جا مخالف هنن لفظن ۾ به بيان ڪري پئي سگهيا ته ”اهو هڪ پراڻو سچ آهي“. پر انهن ايئن چيو ته هي ”هڪ پراڻو ڪوڙ آهي.“ ناانصافي جي اها قسم قديم زماني جي انسانن ۾ به موجود هئي ۽ اڄ به اها پوري طرح ماڻهن ۾ موجود آهي.

وَ مِنْ قَبْلِهٖ كِتٰبُ مُوْسٰۤى اِمَامًا وَّ رَحْمَةً ؕ وَ هٰذَا كِتٰبٌ مُّصَدِّقٌ لِّسَانًا عَرَبِيًّا لِّيُنْذِرَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ۖ وَ بُشْرٰى لِلْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۲﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۱۳﴾ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۴﴾

۽ هن (قرآن) کان اڳ موسىٰ جو ڪتاب رهنما ۽ رحمت هو ۽ هي هڪ ڪتاب آهي جيڪو ان کي سچو ڪندڙ آهي، عربي ٻولي ۾ ته جيئن انهن ماڻهن کي ڊيڄاري جن ظلم ڪيو ۽ اهو خوشخبري آهي نيڪ ماڻهن لاءِ. بيشڪ جن ماڻهن چيو ته اسان جو رب الله آهي، پوءِ ان چوڻ تي ثابت قدم رهيا ته انهن ماڻهن لاءِ نه ڪو خوف آهي ۽ نه اهي غمگين ٿيندا. اهي ئي ماڻهو جنت وارا آهن، جيڪي ان ۾ سدائين رهندا. انهن عملن جي بدلي ۾

جيڪي هو دنيا ۾ ڪندا هئا. ١٢-١٤

قرآن جي سچائي جو هڪ دليل اهو آهي ته اڳيان آسماني ڪتاب ان جي اڳڪٿي ڪندا رهيا آهن. اهي اڳڪٿيون اڄ به انجيل ۽ توريت ۾ موجود آهن. اهڙي طرح قرآن به پنهنجي گذريل آسماني اڳڪٿين جي عين مطابق نازل ٿيو آهي. قرآن انهن اڳڪٿين کي سچ ڪري ڏيکاريو آهي. اهو هڪ واضح دليل آهي، جيڪو ثابت ڪري ٿو ته قرآن حقيقت ۾ هڪ خدائي ڪتاب آهي، نه ته سوين سال اڳ ان جي خبر ڏيڻ ڪيئن ممڪن هجي ها.

”قالوا ربنا الله ثم استقاموا“ جي سلسلي ۾ حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه کا روايت آهي ته ان مان مراد ان جي فرضن جي ادائيگي تي قائم رهڻ آهي. (ثم استقاموا عليٰ اداء فرائضہ. تفسير ابن ڪثير).

ايمان هڪ مقدس عهد آهي. زندگي ۾ بار بار اهڙا موقعا ايندا آهن ته هڪ روش ماڻهو جي ايمان جي عهد مطابق هوندي آهي ۽ هڪ روش ان جي ايمان جي عهد جي خلاف هوندي آهي. اهڙن موقعن تي جنهن ماڻهو پنهنجي ايمان جي عهد مطابق عمل ڪيو، هن استقامت ڏيکاري ۽ جيڪو شخص پنهنجي عهد ايمان مطابق عمل نه ڪري سگهيو، اهو استقامت ڏيکارڻ ۾ ناڪام رهيو.

استقامت جو ثبوت نه ڏيڻ وارا ماڻهو ظالم آهن. سندن ايمان جي دعويٰ انهن کي ڪجهه به فائدو نه ڏيندي ۽ جن ماڻهن استقامت جو ثبوت ڏنو، اهي ئي آهن جيڪي جنت جي ابدي باغن ۾ وسايا ويندا.

وَ وَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ اِحْسٰنًا ؕ حَمَلَتْهُ اُمُّهٗ كُرْهًا وَّ وَضَعَتْهُ كُرْهًا ؕ وَ حَمْلُهٗ وَ فِصٰلُهٗ ثَلٰثُوْنَ شَهْرًا ؕ حَتّٰۤى اِذَا بَلَغَ اَشُدَّهٗ وَ بَلَغَ اَرْبَعِيْنَ سَنَةً ۙ قَالَ رَبِّ اَوْزِعْنِیْۤ اَنْ اَشْكُرَ نِعْمَتَكَ الَّتِیْۤ اَنْعَمْتَ عَلَیَّ وَ عَلٰى وَالِدَیَّ وَ اَنْ اَعْمَلَ صَالِحًا تَرْضٰىهُ وَ اَصْلِحْ لِیْ فِیْ ذُرِّیَّتِیْ ؕ اِنِّیْ تُبْتُ اِلَیْكَ وَ اِنِّیْ مِنَ الْمُسْلِمِیْنَ ﴿۱۵﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِیْنَ نَتَقَبَّلُ عَنْهُمْ اَحْسَنَ مَا عَمِلُوْا وَ نَتَجَاوَزُ عَنْ سَیِّاٰتِهِمْ فِیْۤ اَصْحٰبِ الْجَنَّةِ ؕ وَعْدَ الصِّدْقِ الَّذِیْ كَانُوْا یُوْعَدُوْنَ ﴿۱۶﴾

۽ اسان انسان کي حڪم ڏنو ته هو پنهنجي ماءُ پيءُ سان چڱائي ڪري. ان جي ماءُ تڪليف سان ان کي پيٽ ۾ رکيو ۽ تڪليف سان ان کي ڄڻيو ۽ ان جو حمل ۾ رهڻ ۽ کير ڇڏائڻ ٽيهه مهينن ۾ ٿيو، ايستائين جو جڏهن هو جوان ٿيو ۽ چاليهه ورهين کي پهتو ته چوڻ لڳو ته اي منهنجا رب! مون کي توفيق ڏي ته آئون تنهنجي احسان جو شڪر ڪريان جيڪو تو مون تي ڪيو ۽ منهنجي ماءُ پيءُ تي ڪيو ۽ آئون اهڙا نيڪ عمل ڪريان جنهن سان تون راضي رهين ۽ منهنجي اولاد ۾ به مون کي نيڪ اولاد ڏي. مون توڏانهن رجوع ڪيو ۽ آئون فرمانبردارن منجهان آهيان. اهي ماڻهو آهن جن جي چڱن عملن کي اسان قبول ڪنداسون ۽ انهن جي برائين کان درگذر ڪنداسون، اهي جنت وارن مان هوندا، ان سچي واعدي مطابق جيڪو انهن سان ڪيو ويو هو. ١٥-١٦

انساني نسل جو طريقو اهو آهي ته ماڻهو هڪ ماءُ ۽ هڪ پيءُ جي ذريعي وجود ۾ ايندو آهي، جيڪي ان جي پرورش ڪري ان کي وڏو ڪندا آهن. اهو چڻ ته انسان جي تربيت جو فطري نظام آهي. اهو ان ڪري آهي جو ان جي ذريعي انسان جي اندر حقن ۽ فرضن جو شعور پيدا ٿئي. ان جي اندر اهو جذبو پيدا ٿئي جو ان کي پنهنجي محسن جو احسان ميٺو آهي ۽ ان جو حق ادا ڪرڻو آهي. اِهو جذبو هڪ ئي وقت انسان کي ٻين انسانن جي حقن کي ادا ڪرڻ جي تعليم ڏي ٿو ۽ ان سان گڏ خالق ۽ مالڪ

الله جي عظيم حقن کي بہ ادا ڪرڻ جي تعليم ڏي ٿو.

جيڪي ماڻھو فطرت جي سيڪارڻ مان سبق وٺن، جيڪي ماڻھو پنھنجي شعور کي اھڙي طرح بيدار ڪن جو ھو پنھنجي والدين کان وٺي پنھنجي الله تائين ھر ھڪ جي حقن کي سڃاڻي ۽ ان کي نيڪ نيڪ ادا ڪن. اھي ئي اُھي ماڻھو آھن جيڪي آخرت ۾ الله جي ابدي رحمتن جا مستحق قرار ڏنيا ويندا.

وَ الَّذِيْ قَالَ لِوَالِدَيْهِ اُفٍّ لَّكُمَاۤ اَتَعِدٰنِنِيْۤ اَنْ اُخْرَجَ وَ قَدْ خَلَتِ الْقُرُوْنُ مِنْ قَبْلِيْ ۚ وَ
هُمَا يَسْتَغِيْثٰنِ اللّٰهَ وَيْلَكَ اٰمِنْ ۖۗ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ ۚۖ فَيَقُوْلُ مَا هٰذَاۤ اِلَّاۤ اَسَاطِيْرُ
الْاَوَّلِيْنَ ﴿۱۷﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ حَقَّ عَلَيْهِمُ الْقَوْلُ فِيْۤ اُمَمٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنَ
الْجِنِّ وَ الْاِنْسِ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا خٰسِرِيْنَ ﴿۱۸﴾

۽ جنھن پنھنجي ماءُ پيءُ کي چيو تہ آئون بيزار آھيان توھان کان ڇا توھان مون کي انجام ڏيو ٿا تہ آئون قبرن مان ڪڍيو ويندس، حالانڪ مون کان اڳ ۾ ڪيتريون ئي قومون گذري چڪيون آھن ۽ اھي ٻئي الله کان فرياد ڪندا آھن تہ ويل آھي تنھنجي لاءِ تون ايمان آڻ. بيشڪ الله جو وعدو سچو آھي، پوءِ چوندو آھي تہ اھي رڳو اڳين جون آڪاڻيون آھن. ھي اھي ماڻھو آھن جن تي الله جي ڳالھ (عذاب) لازم ٿي جھڙي انھن ٽولين ۾ ٿئي جنن ۽ ماڻھن مان جيڪي ڪانئن اڳي گذري ويا. بيشڪ اھي خساري ۾ رھيا. ١٧-١٨

جيڪو اولاد پنھنجي والدين جو فرمانبردار ھجي، اھو الله جو بہ فرمانبردار ھوندو آھي. ان جي ابتڙ نافرمان اولاد جو حال اھو ھوندو آھي جو اُھو وڏي عمر کي پھچندي ئي وساري ڇڏيندو آھي تہ سندن والدين بيشمار تڪليفون ڪٽي ڪين ھن مقام تائين پھچايو آھي.

ڪنھن ماڻھو جا سيني کان وڏيڪ خيرخواہ ان جا والدين ھوندا آھن. والدين پنھنجي اولاد کي جيڪو مشورو ڏيندا آھن، اھو سراسر بيغرضي ۽ خيرخواھي جو مشورو ھوندو آھي. ان ڪري انسان کي گھرجي تہ ھو پنھنجي صالح والدين جي مشوري جو سيني کان گھڻو لحاظ ڪري. جيڪو ماڻھو پنھنجي نيڪ والدين جي مشورن تي انھن کي جھڻڪي تہ اھو پنھنجي روش مان ظاھر ڪري ٿو تہ اھو نھايت سنگ دل انسان آھي اِھي اھي ماڻھو آھن جيڪي سيني کان وڏيڪ خساري ۾ پوڻ وارا آھن.

وَ لِكُلٍّ دَرَجٰتٌ مِّمَّا عَمِلُوْا ۚ وَ لِيُوَفِّيَهُمْ اَعْمَالَهُمْ وَ هُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿۱۹﴾ وَ يَوْمَ يُعْرَضُ
الَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَلَى النَّارِ ؕ اَذْهَبْتُمْ طَيِّبٰتِكُمْ فِيْ حَيَاتِكُمُ الدُّنْيَا وَ اسْتَمْتَعْتُمْ بِهَا ۚ
فَالْيَوْمَ تُجْزَوْنَ عَذَابَ الْهُوْنِ بِمَا كُنْتُمْ تَسْتَكْبِرُوْنَ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَ بِمَا
ع۲ كُنْتُمْ تَفْسُقُوْنَ ﴿۲۰﴾

ھر ھڪ جي لاءِ سندن عملن جي لحاظ کان درجا ھوندا ۽ تہ جيئن الله سيني کي سندن عملن جو پورو پورو بدلو ڏي ۽ انھن تي ظلم نہ ٿيندو ۽ جنھن ڏينھن انڪار ڪرڻ وارن کي باھ جي سامھون آندو ويندو، توھان پنھنجون نعمتون دنيا جي حياتي ۾ وٺي چڪا ۽ ان سان آسوده رھيا، تنھن ڪري اڄ توھان کي ذلت جي سزا ڏني ويندي، ان ڪري جو توھان دنيا ۾ ناحق وڏائي ڪندا ھئا ۽ ان ڪري جو توھان نافرماني ڪندا ھئا. ١٩-٢٠

هڪ ماڻهو جي سامهون حق اچي ٿو ۽ هو دنياوي مصلحت ۽ مادي فائدن جي ڪري ان کي اختيار نہ ٿو ڪري تہ ان جو مطلب اهو آهي تہ هن آخرت جي مقابلي ۾ دنيا کي اهميت ڏني. هن آخرت جي نعمتن جي مقابلي ۾ دنيا جي نعمتن کي پنهنجي لاءِ پسند ڪري ورتو.

اهڙي طرح پنهنجي وڏائي جو احساس ماڻهو لاءِ بيحد لذيذ شيءِ آهي. جڏهن ايئن ٿئي ٿي جو پنهنجي وڏائي کي ڇڏي حق کي قبول ڪرڻو پوي ۽ ماڻهو پنهنجي وڏائي کي بچائڻ لاءِ حق کي قبول نہ ڪري، ان وقت بہ چڻ هِن دنيا جي نعمتن کي ترجيح ڏني ۽ آخرت جي نعمتن جو لحاظ نہ ڪندي انهن کي ڇڏي ڏنو.

اهڙا سڀئي ماڻهو جن دنيا جي نعمتن جي خاطر آخرت جي نعمتن کي نظرانداز ڪيو، اُهي آخرت ۾ ذلت جي عذاب ۾ هوندا. جنهن جو عمل جنهن درجي جو هوندو، ان ئي جي بقدر هو پنهنجي عمل جو انجام آخرت ۾ لهندو.

وَ اذْكُرْ اَخَا عَادٍ ؕ اِذْ اَنْذَرَ قَوْمَهٗ بِالْاَحْقَافِ وَ قَدْ خَلَتِ النُّذُرُ مِنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ وَ مِنْ خَلْفِهٖۤ اَلَّا تَعْبُدُوْۤا اِلَّا اللّٰهَ ؕ اِنِّيْۤ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿۲۱﴾ قَالُوْۤا اَجِئْتَنَا لِتَاْفِكَنَا عَنْ اٰلِهَتِنَا ۚ فَاْتِنَا بِمَا تَعِدُنَاۤ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۲۲﴾ قَالَ اِنَّمَا الْعِلْمُ عِنْدَ اللّٰهِ ۖ٘ وَ اُبَلِّغُكُمْ مَّاۤ اُرْسِلْتُ بِهٖ وَ لٰكِنِّيْۤ اَرٰىكُمْ قَوْمًا تَجْهَلُوْنَ ﴿۲۳﴾

۽ عاد جي ڀاءُ (هود) کي ياد ڪر. جڏهن ان پنهنجي قوم کي (وادي) احقاف ۾ ڊيڄاريو ۽ سندس اڳيان ۽ سندس پويان بہ ڊيڄاريندڙ گذريا تہ الله کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪريو. آئون توهان تي هڪ وڏي ڏينهن جي عذاب کان ڊڄان ٿو. انهن چيو تہ ڇا تون اسان وٽ ان لاءِ آيو آهين تہ اسان کي پنهنجن معبودن کان ڦيرائين، پوءِ جيڪڏهن تون سچو آهين تہ اها شيءِ اسان تي آڻ جنهن جو تون اسان سان واعدو ڪري رهيو آهين. هن چيو تہ ان جو علم الله کي آهي ۽ آئون تہ توهان کي پيغام پهچائي رهيو آهيان، جنهن سان مون کي موڪليو ويو آهي، پر آئون ڏسان ٿو تہ توهان جاهل قوم آهيو. ٢١-٢٣

---

عاد جي قوم عرب جي ڏکڻ واري علائقي ۾ آباد هئي. جنهن کي اڄ الربع الخالي چيو ويندو آهي. ان قوم ڪافي ترقي ڪئي، پر ان جي ترقي ان کي غفلت ۽ سرڪشي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. پوءِ الله تعاليٰ انهن جي هڪ فرد حضرت هود عليه السلام کي پيغمبر بڻائي انهن ڏانهن موڪليو.

حضرت هود عليه السلام قوم کي ڊيڄاريو، پر اهي اصلاح قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيا. انهن پنهنجي پيغمبر جو استقبال جهالت سان ڪيو. آخرڪار اُهي الله جي پڪڙ ۾ اچي ويا. انهن تي اهڙو سخت عذاب آيو جو سندن سرسبز ۽ شاندار علائقو رڳو هڪ رڻ بڻجي رهجي ويو.

فَلَمَّا رَاَوْهُ عَارِضًا مُّسْتَقْبِلَ اَوْدِيَتِهِمْ ۙ قَالُوْا هٰذَا عَارِضٌ مُّمْطِرُنَا ؕ بَلْ هُوَ مَا اسْتَعْجَلْتُمْ بِهٖ ؕ رِيْحٌ فِيْهَا عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۲۴﴾ تُدَمِّرُ كُلَّ شَيْءٍۭ بِاَمْرِ رَبِّهَا فَاَصْبَحُوْا لَا يُرٰۤى اِلَّا مَسٰكِنُهُمْ ؕ كَذٰلِكَ نَجْزِي الْقَوْمَ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿۲۵﴾

پوءِ جڏهن انهن اُن کي ڪڪر جي شڪل ۾ پنهنجي وادي ڏانهن ايندي ڏٺو تہ انهن چيو تہ هي ڪڪر آهي، جيڪو اسان تي وسندو نہ بلڪ هي اها شيءِ آهي جنهن جي توهان تڪڙ ڪري رهيا هئا. هڪ آنڌي آهي جنهن ۾ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. اُها هر شيءِ کي پنهنجي رب جي حڪم سان ناس ڪندي. پوءِ هو اهڙا ٿيا جو سندن گهرن کان سواءِ ٻيو ڪجھ نظر نٿي آيو. مجرمن کي اسان اهڙي طرح سزا ڏيندا آهيون. ٢٤-٢٥

---

عذاب جي ڪڪر کي عاد جي ماڻهن مينهن جو ڪڪر سمجهيو هو. ان جي حقيقت کي صرف ان وقت سمجهي سگهيا، جڏهن عذاب جي آنڌي سندن وسندين ۾ داخل ٿي. انهن کي ناس ڪري ڇڏيو. انسان ايڏو ظالم آهي جو هڪ گهڙي بہ اڳ حق جو اعتراف نہ ٿو ڪري. هو رڳو ان وقت اعتراف ڪندو آهي، جڏهن اعتراف ڪرڻ جو موقعو ان کان کسجي وڃي.

وَلَقَدْ مَكَّنّٰهُمْ فِيْمَآ اِنْ مَّكَّنّٰكُمْ فِيْهِ وَجَعَلْنَا لَهُمْ سَمْعًا وَّاَبْصَارًا وَّاَفْـِٕدَةً ۖ فَمَآ اَغْنٰى
عَنْهُمْ سَمْعُهُمْ وَلَآ اَبْصَارُهُمْ وَلَآ اَفْـِٕدَتُهُمْ مِّنْ شَيْءٍ اِذْ كَانُوْا يَجْحَدُوْنَ ۙ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ
وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٢٦﴾ وَلَقَدْ اَهْلَكْنَا مَا حَوْلَكُمْ مِّنَ الْقُرٰى وَصَرَّفْنَا ع ٣
الْاٰيٰتِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿٢٧﴾ فَلَوْلَا نَصَرَهُمُ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ قُرْبَانًا
اٰلِهَةً ۭ بَلْ ضَلُّوْا عَنْهُمْ ۚ وَذٰلِكَ اِفْكُهُمْ وَمَا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٢٨﴾

۽ اسان کين انهن ڳالهين ۾ قدرت ڏني هئي جيڪا توهان کي نہ ڏني اٿئون ۽ اسان انهن کي ڪن ۽ اکيون ۽ دليون ڏنيون هيون، پر اهي ڪن سندن ڪجھ ڪم نہ آيا ۽ نہ اکيون ۽ نہ دليون، ڇاڪاڻ تہ اُهي الله جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا ۽ کين انهيءَ شيءِ گهيري ورتو جنهن جو هو مذاق اڏائيندا هئا ۽ اسان توهان جي آسپاس جي وسندين کي ناس ڪيو ۽ اسان بار بار پنهنجون نشانيون بيان ڪيون تہ من اُهي موٽن، پوءِ ڇو نہ سندن مدد ڪئي انهن جن کي الله کان سواءِ ويجهائي لاءِ معبود ڪري ورتو هو بلڪ اُهي سڀ ڪائن گم ٿي ويا ۽ اهو سندن ڪوڙ هو ۽ سندن ٺاهہ جيڪو ٺاهيندا هئا. ٢٦-٢٨

---

قريش جي سردارن کي جيڪو دنياوي مرتبو حاصل هو، تنهن انهن کي سرڪش بڻائي ڇڏيو هو. انهن کي ياد ڏياريو ويو تہ پنهنجي پاڙيسري قوم عاد کي ڏسو. انهن کي تهذيب ۽ ترقي جي لحاظ کان توهان کان بہ وڌو درجو حاصل هو. ان جي باوجود جڏهن الله جو فيصلو آيو تہ انهن جي سڄي وڏائي ناس ٿي وئي. انهن شين مان ڪا شيءِ سندن سهارو نہ بڻجي سگهي جن کي انهن پنهنجو سهارو سمجهي رکيو هو.

انسان آخرڪار الله جي وڏائي جي مقابلي ۾ نندو ٿيڻ وارو آهي، پر دنيا جو نظام ڪجھ اهڙي طرح بڻايو ويو آهي جو هن دنيا ۾ ئي ماڻهو کي بار بار ٻين جي مقابلي ۾ نندو ٿيڻو پوندو آهي. اهڙي طرح جا واقعا الله جون نشانيون آهن. ماڻهو جيڪڏهن انهن نشانين مان سبق وٺي تہ آخرت جي ڏينهن نندو ڪئي وڃڻ کان اڳ هو پاڻ کي نندو ڪري ڇڏي. هو آخرت کان اڳ ئي هن دنيا ۾ حقيقت پسند بڻجي وڃي. انسان جي سامهون مختلف قسم جا واقعا الله جون نشانيون بڻجي ظاهر ٿيندا آهن، پر هو انڌو ۽ ٻوڙو بڻجي ويندو آهي. هو انهن مان سبق وٺڻ لاءِ تيار نہ ٿو ٿئي.

وَ اِذْ صَرَفْنَآ اِلَيْكَ نَفَرًا مِّنَ الْجِنِّ يَسْتَمِعُوْنَ الْقُرْاٰنَ ۚ فَلَمَّا حَضَرُوْهُ قَالُوْٓا اَنْصِتُوْا ۚ فَلَمَّا
قُضِيَ وَلَّوْا اِلٰى قَوْمِهِمْ مُّنْذِرِيْنَ ﴿٢٩﴾ قَالُوْا يٰقَوْمَنَآ اِنَّا سَمِعْنَا كِتٰبًا اُنْزِلَ مِنْۢ بَعْدِ مُوْسٰى
مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ يَهْدِيْٓ اِلَى الْحَقِّ وَ اِلٰى طَرِيْقٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٣٠﴾ يٰقَوْمَنَآ اَجِيْبُوْا دَاعِيَ
اللّٰهِ وَ اٰمِنُوْا بِهٖ يَغْفِرْ لَكُمْ مِّنْ ذُنُوْبِكُمْ وَ يُجِرْكُمْ مِّنْ عَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٣١﴾ وَ مَنْ لَّا يُجِبْ دَاعِيَ
اللّٰهِ فَلَيْسَ بِمُعْجِزٍ فِي الْاَرْضِ وَ لَيْسَ لَهٗ مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءُ ۭ اُولٰٓئِكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٢﴾

۽ جڏهن اسان جنن جي هڪ ٽولي کي توڏانهن متوجه ڪيو جو قرآن ٻُڌائون، پوءِ جڏهن مهل اُتي پهتا ته چوڻ لڳا ماٺ ڪريو، پوءِ جڏهن مهل (قرآن) پورو ٿيو ته اُهي ڊيڄاريندڙ وارا ٿي پنهنجي قوم ڏانهن موٽيا. انهن چيو اي اسان جي قوم بيشڪ اسان هڪ ڪتاب ٻڌو آهي، جيڪو موسيٰ کان پوءِ نازل ڪيو ويو آهي ۽ جيڪي ان کان اڳ (نازل ٿيل) هو، ان جي تصديق ڪندڙ آهي. سچي دين ڏانهن ۽ سڌي واٽ ڏانهن رستو ڏيکاري ٿو. اي اسان جي قوم الله ڏانهن سڏڻ واري جي دعوت قبول ڪريو ۽ ان تي ايمان آڻيو. الله توهان جي گناهن کي معاف ڪندو ۽ توهان کي ڏکوئيندڙ عذاب کان بچائيندو ۽ جيڪو الله ڏانهن سڏيندڙ کي سڏ نه ڏيندو سو زمين ۾ (الله کي) عاجز ڪرڻ وارو نه آهي ۽ الله کان سواءِ ان جو ڪو مددگار نه هوندو. اهڙا ماڻهو پڌري گمراهي ۾ آهن. ٢٩-٣٢

---

نبوت جي ڏهين سال مڪي ۾ رسول الله ﷺ لاءِ حالتون تمام سخت ٿي چڪيون هيون. ان وقت پاڻ ﷺ مڪي کان طائف ڏانهن سفر ڪيو ته شايد پاڻ ﷺ کي ڪجھ ساٿ ڏيڻ وارا ملي وڃن. پر اُتي جي ماڻهن پاڻ ﷺ جو تمام برو استقبال ڪيو. واپسي ۾ پاڻ ﷺ رات گذارڻ لاءِ نخله جي مقام تي ترسيا. هتي پاڻ ﷺ نماز ۾ قرآن جي تلاوت فرمائي رهيا هئا ته جنن جي هڪ جماعت قرآن کي ٻڌو ۽ اُهي ان ئي وقت ان جا مؤمن بڻجي ويا. هڪ جماعت قرآن کي رد ڪري رهي هئي، عين ان ئي وقت ٻئي جماعت قرآن کي قبول ڪري رهي هئي ۽ اهڙي طرح قبول ڪري رهي هئي جو ان ئي وقت ان جي داعي بڻجي وئي.

الله جي داعي جي ڳالھ کي رد ڪرڻ جڻ الله جي منصوبي کي رد ڪرڻ آهي، پر انسان جي لاءِ اهو ممڪن نه آهي جو هو الله جي منصوبي کي رد ڪري سگهي. ان ڪري اهڙي ڪوشش ڪرڻ واري جو انجام رڳو اهو ٿيندو آهي جو هو پاڻ رد ٿي وڃي.

اَوَ لَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ وَ لَمْ يَعْيَ بِخَلْقِهِنَّ بِقٰدِرٍ عَلٰٓى اَنْ
يُّحْيِۦَ الْمَوْتٰى ۭ بَلٰٓى اِنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٣٣﴾ وَ يَوْمَ يُعْرَضُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَلَى النَّارِ ۭ
اَلَيْسَ هٰذَا بِالْحَقِّ ۭ قَالُوْا بَلٰى وَ رَبِّنَا ۭ قَالَ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿٣٤﴾

ڇا انهن نه ڏٺو ته جنهن الله آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو ۽ هو انهن جي پيدا ڪرڻ ۾ نه ٿڪو سو ان تي قدرت رکي ٿو ته هو مئلن کي زنده ڪري. هائو! بيشڪ اهو هر شيءِ تي قادر آهي ۽ جنهن ڏينهن انڪار ڪرڻ وارا باھ جي سامهون آڻبا، ڇا اها حقيقت نه آهي اُهي چوندا ته هائو! اسان جي رب جو قسم. (الله) چوندو پوءِ چکو

عذاب ان انڪار جي بدلي جيڪو توهان ڪندا هئا. ٣٣-٣٤

زمين ۽ آسمان جهڙي عظيم ڪائنات جو وجود ۾ اچڻ ۽ پوءِ اربن سالن ڪان ان جو نهايت صحيح طور تي منظم طريقي سان هلڻ اهو ثابت ڪري ٿو ته ان ڪائنات کي پيدا ڪرڻ وارو عظيم تر طاقتن جو مالڪ آهي. وڏيڪ اهو ته هن ڪائنات کي وجود ۾ آڻڻ ان کي ٿڪائڻ جو سبب نه بڻيو. تخليق جو عمل جيڪڏهن ان کي ٿڪائي ڇڏي ها ته تخليق کان پوءِ هي ڪائنات صحيح طور هلندي نظر نه اچي ها.

الله جي عظيم طاقت ۽ قدرت جو مظاهرو جيڪو ڪائنات جي سطح تي ٿي رهيو آهي، اهو يقين ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي ته انساني نسل کي ٻيهر زنده ڪرڻ ۽ ان کان سندن عملن جو حساب وٺڻ الله جي لاءِ ڪجهه به مشڪل نه آهي.

موجوده دنيا ۾ ماڻهو جي سامهون حقيقت اڻندي آهي، پر هو ان کي نه ٿو مڃي. ان جو سبب اهو آهي ته موجوده دنيا ۾ حقيقت جي انڪار جو انجام يڪدم سامهون نه ٿو اچي. آخرت ۾ انڪار جو ڏکوئيندڙ انجام ماڻهو جي سامهون هوندو. ان وقت هو انتهائي سنجيده بڻجي ويندو ۽ ان حقيقت جو يڪدم اقرار ڪري وٺندو، جنهن کي موجوده دنيا ۾ هو مڃڻ لاءِ تيار نه هو.

فَاصْبِرْ كَمَا صَبَرَ اُولُوا الْعَزْمِ مِنَ الرُّسُلِ وَلَا تَسْتَعْجِلْ لَّهُمْ ؕ كَاَنَّهُمْ يَوْمَ يَرَوْنَ مَا يُوْعَدُوْنَ ۙ لَمْ يَلْبَثُوْۤا اِلَّا سَاعَةً مِّنْ نَّهَارٍ ؕ بَلٰغٌ ۚ فَهَلْ يُهْلَكُ اِلَّا الْقَوْمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٣٥﴾

پوءِ تون صبر ڪر جيئن وڏي همت وارن پيغمبرن صبر ڪيو ۽ انهن (جي معاملي) ۾ جلدي نه ڪر. جنهن ڏينهن اهي ماڻهو ان شيءِ کي ڏسندا جنهن جو وعدو ڏجي ٿو (نه پائيندا) ڄڻ اُهي ڏينهن جي هڪ گهڙي کان سواءِ رهيا ئي نه هئا. اهو (پيغام) پهچائڻو آهي. پوءِ اُهي ئي ماڻهو هلاڪ ٿيندا جيڪي نافرماني ڪرڻ وارا آهن. ٣٥

حق جي دعوت ڏيڻ واري کي هميشه صبر جي زمين تي بيهڻو هوندو آهي. صبر اصل ۾ ان جو نالو آهي ته مدعو طرفان آيل تڪليفن کي داعي نظرانداز ڪري. هو مدعو جي ضد ۽ انڪار جي باوجود مسلسل هن کي دعوت پهچائيندو رهي. داعي پنهنجي مدعو جو هر حال ۾ خيرخواه هجي، چاهي مدعو طرفان ان کي ڪيترا ئي ناخوشگوار تجربا ڇو نه ٿي رهيا هجن. اِهو صبر ان ڪري ضروري آهي جو ان کان سواءِ مدعو تي الله جي حجت پوري نٿي ٿئي.

الله جي سڀني پيغمبرن هر زماني ۾ اهڙي طرح صبر ۽ استقامت سان حق جي دعوت جو ڪم ڪيو آهي. آئينده به پيغمبرن جي نيابت ۾ جيڪي ماڻهو حق جي دعوت جو ڪم ڪن، انهن کي اهڙي ئي نموني تي دعوت جو ڪم ڪرڻو آهي. الله وٽ داعي جو مقام رڳو انهن ماڻهن لاءِ مقدر آهي جيڪي هڪ طرفو برداشت جو حوصلو رکندا هجن.

اٰياتها ٣٨ (٤٧) سُوْرَةُ مُحَمَّدٍ مَدَنِيَّةٌ (٩٥) رڪوعاتها ٤

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا وَ صَدُّوۡا عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ اَضَلَّ اَعۡمَالَهُمۡ ۝١ وَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَ اٰمَنُوۡا بِمَا نُزِّلَ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ هُوَ الۡحَقُّ مِنۡ رَّبِّهِمۡ ۙ كَفَّرَ عَنۡهُمۡ سَيِّاٰتِهِمۡ وَ اَصۡلَحَ بَالَهُمۡ ۝٢ ذٰلِكَ بِاَنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوا اتَّبَعُوا الۡبَاطِلَ وَ اَنَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اتَّبَعُوا الۡحَقَّ مِنۡ رَّبِّهِمۡ ؕ كَذٰلِكَ يَضۡرِبُ اللّٰهُ لِلنَّاسِ اَمۡثَالَهُمۡ ۝٣

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

جن ماڻهن انڪار ڪيو ۽ الله جي واٽ کان جهليو الله انهن جي عملن کي چٽ ڪري ڇڏيو ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن نيڪ عمل ڪيا ۽ جيڪو محمد تي نازل ڪيو ويو آهي اِن کي مڃائون ۽ اُهو حق آهي سندن رب وٽان. الله انهن جون برايون ڪاڻئ ميٽيون ۽ سندن حال سڌاريو. اهو اُن ڪري جو انڪار ڪرڻ وارن باطل جي پيروي ڪئي ۽ جن ايمان آندو انهن حق جي پيروي ڪئي، جيڪو سندن رب طرفان آهي. اهڙي طرح الله ماڻهن لاءِ سندن مثال بيان ڪري ٿو. ١-٣

قديم عرب ۾ جن ماڻهن محمد ﷺ جو انڪار ڪيو ۽ پاڻ ﷺ جي مخالفت ڪئي، تن جا عمل چٽ ٿي ويا. ان جو مطلب بين لفظن ۾ اهو آهي تہ انهن شعوري سطح تي دينداري جو ثبوت نہ ڏنو، ان ڪري سندن اهي عمل بہ بي قيمت ٿي ويا جيڪي هو روايتي دينداري جي سطح تي ڪري رهيا هئا.

قديم عرب جا ماڻهو پاڻ کي ابراهيم عليه السلام ۽ اسماعيل عليه السلام جي امت سمجهندا هئا. انهن کي ڪعبي جي انتظام ۽ خدمت جو اعزاز بہ حاصل هو. انهن وٽ ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ نماز، روزي ۽ حج جو رواج بہ موجود هو. حاجين جي خدمت، مٽ مائٽن سان چڱائي ۽ مهمان نوازي جو بہ انهن وٽ رواج هو. اهي سڀ ڪم اُهي ڪري رهيا هئا، پر اُهي سندن شعوري دينداري جو حصو نہ هئا، بلڪ اُهي رڳو روايتي ۽ رسمي طور تي سندن زندگي جو جز بڻيل هئا. انهن عملن کي اهي رڳو ان ڪري ڪري رهيا هئا جو اُهي سندن وچ ۾ صدين کان رائج هئا.

پر وقت جي پيغمبر کي سڃاڻڻ لاءِ ضروري هو تہ اُهي پنهنجي شعور کي استعمال ڪن. هو ذاتي معرفت جي سطح تي پيغمبر کي سڃاڻين. محمد ﷺ سان گڏ ان وقت قديم روايتن جو زور شامل نہ هو. ان ڪري پاڻ ﷺ کي اهو ئي ماڻهو سڃاڻي پئي سگهيو، جيڪو ذاتي شعور جي سطح تي حقيقت کي سڃاڻڻ جي صلاحيت رکندو هو. جڏهن انهن وقت جي پيغمبر جو انڪار ڪيو تہ اهو ثابت ٿي ويو تہ سندن دينداري رڳو روايتن جي تحت آهي نہ وري شعور جي تحت ۽ الله کي شعوري دينداري گهربل آهي نہ وري روايتي دينداري.

ان جي ابتڙ جن ماڻهن وقت جي پيغمبر تي ايمان آندو، انهن اهو ثبوت ڏنو تہ اهي شعور جي

سطح تي ديندار بڻجڻ جي صلاحيت رکن ٿا، تنهن ڪري اهي الله وٽ قابل قبول ۽ قابل انعام قرار ڏنا. ويا تاريخ جو تجربو ٻڌائي ٿو ته ماضي جي روايتن ڪي ميڄ وارا ماڻهو حال جي معرفت جي امتحان ۾ فيل ٿي ويندا آهن. پين جي نظر سان ڏسڻ وارا پنهنجي نظر سان ڏسڻ ۾ هميشه ناڪام رهندا آهن.

فَاِذَا لَقِيْتُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَضَرْبَ الرِّقَابِ ؕ حَتّٰۤى اِذَاۤ اَثْخَنْتُمُوْهُمْ فَشُدُّوا الْوَثَاقَ ۙ فَاِمَّا مَنًّاۢ بَعْدُ وَ اِمَّا فِدَآءً حَتّٰى تَضَعَ الْحَرْبُ اَوْزَارَهَا ۛ۫ ذٰلِكَ ؕۛ وَ لَوْ يَشَآءُ اللّٰهُ لَانْتَصَرَ مِنْهُمْ وَ لٰكِنْ لِّيَبْلُوَاۡ بَعْضَكُمْ بِبَعْضٍ ؕ وَ الَّذِيْنَ قُتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَلَنْ يُّضِلَّ اَعْمَالَهُمْ ﴿۴﴾ سَيَهْدِيْهِمْ وَ يُصْلِحُ بَالَهُمْ ﴿۵﴾ وَ يُدْخِلُهُمُ الْجَنَّةَ عَرَّفَهَا لَهُمْ ﴿۶﴾

پوءِ جڏهن منڪرن سان توهان جو مقابلو ٿئي ته انهن جا ڪنڌ ڪپيو. ايستائين جڏهن گهڻو رتوڇاڻ ڪيو. تڏهن ڪين مضبوطي سان ٻڌو، پوءِ يا ته احسان ڪري ڇڏڻ آهي يا معاوضو وٺي. ايستائين جو جنگ پنهنجا هٿيار رکي اهو (حڪم) آهي ۽ جيڪڏهن الله چاهي ها ته هو انهن کان بدلو وٺي ها، پر (ان چاهيو) ته توهان مان ڪن کي ڪن سان آزمائي ۽ جيڪي ماڻهو الله جي راهه ۾ قتل ٿيا، الله انهن جا عمل هرگز ضايع نه ڪندو. هو انهن جي رهنمائي فرمائيندو ۽ سندن حال سڌاريندو ۽ کين جنت ۾ داخل ڪندو جنهن جي کين ڄاڻ ڪرائي اٿس. ٤-٦

---

هتي انڪار ڪرڻ وارن مان مراد اُهي ماڻهو آهن جن حجت پوري ٿيڻ جي باوجود ايمان نه آندو ۽ انهن رسول الله ﷺ جي خلاف ناحق جنگ شروع ڪئي. اهڙي طرح رسول الله ﷺ کي دفاعي قدم کڻڻ تي مجبور ڪيو. اهڙن ماڻهن جي باري ۾ حڪم ڏنو ويو ته جڏهن انهن سان توهان جي لڙائي ٿئي ته انهن سان وڙهي سندن زور ٽوڙي ڇڏيو، ته جيئن هو آئنده حق جي دعوت جي راهه ۾ رڪاوٽ نه بڻجي سگهن.

الله تعاليٰ جو اهو قانون رهيو آهي ته جن قومن پنهنجن پيغمبرن جو انڪار ڪيو، انهن کي حجت پوري ٿيڻ کان پوءِ هلاڪ ڪيو ويو. پوءِ پيغمبر آخرالزمان جي سلسلي ۾ الله تعاليٰ کي اهو گهربل هو ته پاڻ ﷺ ۽ سندس ساٿين جي ذريعي شرڪ جي زور جو خاتمو ڪيو وڃي ۽ توحيد جي بنياد تي هڪ نئين تاريخ کي وجود ۾ آڻجي. اهڙي تاريخ ساز انسانن جو انتخاب سخت حالتن ۾ ئي ٿي پئي سگهيو. مخالفن طرفان شروع ڪيل جنگ ۾ رسول الله ﷺ جي ساٿين جي شرڪت ان انتخاب جو موقعو فراهم ڪيو.

جنت مؤمن جي هڪ ڄاتل سڃاتل شيءِ آهي، هو نه رڳو پيغمبر کان ان جون خبرو ٻڌندو آهي، بلڪ پنهنجي وڌيل معرفت جي ذريعي هو ان جو تصوراتي ادراڪ به ڪري وٺندو آهي. غيب ۾ لڪيل جنت جو اهوئي گهرو ادراڪ آهي، جيڪو ماڻهو کي اهو حوصلو ڏي ٿو ته هو قرباني جي قيمت تي ان جو طالب بڻجي سگهي، جيڪڏهن ايئن نه ٿئي ته ڪو ماڻهو اڄوڪي دنيا کي قربان ڪري سڀاڻي جي جنت جو اميدوار نه بڻجي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنْ تَنْصُرُوا اللّٰهَ يَنْصُرْكُمْ وَ يُثَبِّتْ اَقْدَامَكُمْ ﴿۷﴾ وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَتَعْسًا لَّهُمْ وَ اَضَلَّ اَعْمَالَهُمْ ﴿۸﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَرِهُوْا مَاۤ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاَحْبَطَ اَعْمَالَهُمْ ﴿۹﴾

اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ دَمَّرَ اللّٰهُ
عَلَيْهِمْ ۫ وَ لِلْكٰفِرِيْنَ اَمْثَالُهَا ۝١٠ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ مَوْلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ اَنَّ الْكٰفِرِيْنَ لَا
مَوْلٰى لَهُمْ ۝١١

اي ايمان وارو! جيڪڏهن توهان الله جي مدد ڪندو ته هو توهان جي مدد ڪندو ۽ توهان جي قدمن کي ڄمائي ڇڏيندو ۽ جن ماڻهن انڪار ڪيو انهن لاءِ تباهي آهي ۽ الله سندن عملن کي ڇٽ ڪري ڇڏيندو. اهو ان ڪري جو انهن ان شيءِ کي ناپسند ڪيو جيڪا الله نازل ڪئي آهي، تنهن ڪري الله سندن عملن کي ڇٽ ڪري ڇڏيو. ڇا اهي زمين ۾ گهميا ڦريا نه آهن جو هو انهن ماڻهن جو انجام ڏسن جيڪي کائنئن اڳ ۾ گذري چڪا آهن. الله انهن تي تباهي آندي ۽ منڪرن لاءِ اهڙيون ئي سزائون آهن. اهو ان ڪري آهي جو الله ايمان وارن جو ڪارساز آهي ۽ منڪرن جو ڪوبه ڪارساز نه آهي. ٧-١١

واقعن کي ظهور ۾ آڻڻ وارو الله آهي، پر هو واقعن کي اسباب جي پردي ۾ ظهور آڻي ٿو. اهو ئي معاملو دين جو به آهي. الله کي اهو گهربل آهي ته باطل جو زور ٽٽي ۽ حق کي دنيا ۾ غلبو ۽ استحڪام حاصل ٿئي، پر ان واقعي کي ظهور ۾ آڻڻ لاءِ الله کي ڪجھ اهڙا ماڻهو درڪار آهن جو ان خدائي عمل جو انساني پردو بڻجي وڃن. اهو ئي اهو معاملو آهي جنهن کي هتي الله جي نصرت چيو ويو آهي.

جڏهن هڪ گروه الله جي نصرت لاءِ اٿندو آهي ته هو ان سان گڏ اهو ڪندو آهي جو هو منڪرن جو منڪر هجڻ ثابت ڪندو آهي. الله جي نصرت ڪرڻ وارا ماڻهو انتهائي سنجيدگي ۽ خيرخواهي سان ماڻهن کي الله ڏانهن سڏيندا آهن. اهي هر حق جي خلاف رويي کان بچندي دين جي شاهدي ڏيندا آهن، اُهي حق جو حق هئڻ کي آخري حدتائين ثابت ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙي طرح منڪرن تي اها حجت پوري ٿي ويندي آهي جيڪا آخرت جي فيصلي لاءِ الله تعاليٰ کي گهربل آهي.

باطل پرستن کي لازمي شڪست ٿيندي آهي ۽ حق پرست لازمي طور تي انهن تي غالب ايندا آهن، پر شرط اهو آهي ته حق پرست جماعت ان عمل کي انجام ڏي جيڪو الله جي سنت مطابق الله جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ انجام ڏيڻو آهي.

اِنَّ اللّٰهَ يُدْخِلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ وَ
الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يَتَمَتَّعُوْنَ وَ يَاْكُلُوْنَ كَمَا تَاْكُلُ الْاَنْعَامُ وَ النَّارُ مَثْوًى لَّهُمْ ۝١٢ وَ كَاَيِّنْ
مِّنْ قَرْيَةٍ هِيَ اَشَدُّ قُوَّةً مِّنْ قَرْيَتِكَ الَّتِيْۤ اَخْرَجَتْكَ ۚ اَهْلَكْنٰهُمْ فَلَا نَاصِرَ لَهُمْ ۝١٣

بيشڪ الله انهن ماڻهن کي جن ايمان آندو ۽ جن نيڪ عمل ڪيا اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون ۽ جن ماڻهن انڪار ڪيو سي دنيا جو نفعو وٺي رهيا آهن ۽ کائي رهيا آهن، جيئن ڍور کائيندا آهن ۽ باهه سندن جاءِ آهي ۽ ڪيتريون ئي وسنديون آهن جيڪي قوت ۾ تنهنجي هن وسندي کان وڌيڪ هيون جنهن مان توکي ڪڍيو آهي. اسان انهن کي ناس ڪيوسون، پوءِ سندن ڪو مددگار نه ٿيو. ١٢-١٣

عرب ۾ جن ماڻهن رسول الله ﷺ جو انڪار ڪيو، انهن کي پاڻ ﷺ اڳوات اها خبر ڏني هئي

تہ توهان جيڪو ڪائي پئي رهيا آهيو تہ ايئن نہ سمجهو جو توهان آزاد آهيو. توهان پوري طرح الله جي گرفت ۾ آهيو ۽ ان جو ثبوت هي آهي تہ جيڪڏهن توهان پنهنجي انڪار تي قائم رهيا تہ الله جي قانون مطابق توهان کي تباهہ ڪيو ويندو.

اهو واقعو عين اڳڪٿي جي مطابق ظهور ۾ آيو. توحيد جا علمبردار غالب ٿيا ۽ جيڪي ماڻهو شرڪ جا علمبردار بڻيل هئا، اهي هميشہ لاءِ ناس ٿي ويا.

اَفَمَنۡ كَانَ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنۡ رَّبِّهٖ كَمَنۡ زُيِّنَ لَهٗ سُوۡٓءُ عَمَلِهٖ وَ اتَّبَعُوۡۤا اَهۡوَآءَهُمۡ ﴿۱۴﴾ مَثَلُ الۡجَنَّةِ الَّتِىۡ وُعِدَ الۡمُتَّقُوۡنَ ؕ فِيۡهَاۤ اَنۡهٰرٌ مِّنۡ مَّآءٍ غَيۡرِ اٰسِنٍ ۚ وَ اَنۡهٰرٌ مِّنۡ لَّبَنٍ لَّمۡ يَتَغَيَّرۡ طَعۡمُهٗ ۚ وَ اَنۡهٰرٌ مِّنۡ خَمۡرٍ لَّذَّةٍ لِّلشّٰرِبِيۡنَ ۚ وَ اَنۡهٰرٌ مِّنۡ عَسَلٍ مُّصَفًّى ؕ وَ لَهُمۡ فِيۡهَا مِنۡ كُلِّ الثَّمَرٰتِ وَ مَغۡفِرَةٌ مِّنۡ رَّبِّهِمۡ ؕ كَمَنۡ هُوَ خَالِدٌ فِى النَّارِ وَ سُقُوۡا مَآءً حَمِيۡمًا فَقَطَّعَ اَمۡعَآءَهُمۡ ﴿۱۵﴾

ڇا اهو جيڪو پنهنجي رب طرفان هڪ پڌري دليل تي آهي اهو ان جهڙو ٿي ويندو جنهن جا بڇڙا عمل ان لاءِ خوشنما بڻايا ويا آهن ۽ اهو پنهنجي خواهشن تي هلي رهيو آهي. جنت جو مثال جنهن جو واعدو ڏڃڻ وارن سان ڪيو ويو آهي، ان جي وصف اها آهي تہ ان ۾ نهرون آهن اهڙي پاڻي جون جيڪو ڪڏهن بہ نہ سينواربو ۽ نهرون هونديون کير جون جنهن جو مزو نہ بدلبو ۽ نهرون هونديون شراب جون جنهن ۾ پيئڻ وارن لاءِ لذت هوندي ۽ صاف ماکي جون نهرون هونديون ۽ انهن لاءِ اتي هر قسم جا ميوا هوندا ۽ سندن رب وٽان بخشش هوندي. ڇا اهي ماڻهو انهن جهڙا آهن جيڪي هميشہ باهہ ۾ رهندا ۽ کين ٽهڪندڙ پاڻي پيئڻ لاءِ ڏنو ويندو، جيڪو سندن آنڊن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندو. ١٤-١٥

بينہ (دليل) تي ٻيهڻ جو مطلب پنهنجي زندگي جي تعمير حقيقت جي بنياد تي ڪرڻ آهي. ان جي ابتڙ جيڪو ماڻهو (اهواءَ) (پنهنجن خواهشن) تي ٻيٺو هجي جو مطلب آهي تہ هو حقيقت جو انڪار ڪري ٿو. هو الله جي دنيا ۾ الله جي مرضي جي خلاف پنهنجي دنيا ٺاهڻ چاهي ٿو.

موجوده امتحان جي دنيا ۾ ٻنهي جماعتن کي بظاهر هڪ جهڙا موقعا ملي رهيا آهن، پر آخرت جي حقيقي دنيا ۾ رڳو پهرين جماعت الله جي ابدي نعمتن ۾ حصو لهندي ۽ ٻي جماعت هميشہ لاءِ ذليل ۽ ناڪام ٿي ويندي.

وَ مِنۡهُمۡ مَّنۡ يَّسۡتَمِعُ اِلَيۡكَ ۚ حَتّٰٓى اِذَا خَرَجُوۡا مِنۡ عِنۡدِكَ قَالُوۡا لِلَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡعِلۡمَ مَاذَا قَالَ اٰنِفًا ۟ اُولٰٓئِكَ الَّذِيۡنَ طَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوۡبِهِمۡ وَ اتَّبَعُوۡۤا اَهۡوَآءَهُمۡ ﴿۱۶﴾ وَ الَّذِيۡنَ اهۡتَدَوۡا زَادَهُمۡ هُدًى وَّ اٰتٰهُمۡ تَقۡوٰٮهُمۡ ﴿۱۷﴾

۽ انهن ۾ ڪجهہ ماڻهو اهڙا آهن جيڪي توڏانهن ڪن ڏيندا آهن، جنهن مهل هو تو وٽان نڪرندا آهن تہ جن کي علم ڏنو ويو تن کي چوندا آهن تہ هاڻي (پيغمبر) ڇا چيو. هي اُهي آهن جن جي دلين تي الله مهر هنئي آهي ۽

اُهي پنهنجن خواهشن تي هلندا آهن ۽ جن ماڻهن هدايت جي راهه اختيار ڪئي ته الله انهن کي هدايت ۾ وڌائيندو ۽ کين سندن پرهيزگاري عطا ڪندو آهي. ١٦-١٧

منافق ماڻهو جي هڪ سڃاڻپ اها آهي ته هو جڏهن سنجيده مجلس ۾ ويهندو آهي ته بظاهر وڏو باادب نظر ايندو آهي، پر ان جو ذهن ٻين شين ۾ لڳل هوندو آهي. هو مجلس ۾ ويهي به مجلس جي ڳالهه نه ٿو ٻڌي سگهي. تنهن ڪري جڏهن هو مجلس کان ٻاهر ايندو آهي ته ٻين علم وارن کان پڇندو آهي ته ”حضرت ڇا فرمايو هو“.

هي اها حقيقت آهي جيڪا پنهنجي خواهش پرستي جي ڪري انهن کي ادا ڪرڻي پئي ٿي. اهي پاڻ تي پنهنجي خواهش کي غالب ڪري وٺندا آهن. اهي دليل جي پيروي ڪرڻ جي بجاءِ پنهنجي خواهشن جي پيروي ڪندا آهن. ان جو نتيجو اهو ٿيندو آهي جو آهستي آهستي انهن جا احساس مري ويندا آهن. سندن عقل ان قابل نه ٿو رهي جو اهو بلند حقيقتن جو ادراڪ ڪري سگهي.

ان جي ابتڙ جيڪي ماڻهو قيمت کي اهميت ڏين. جيڪي سچي دليل اڳيان جهڪي وڃن ته اهي ان عمل سان پنهنجي فقر وارن صلاحيتن کي زنده ڪندا آهن. اهڙن ماڻهن جي معرفت ۾ ڏينهن به ڏينهن اضافو ٿيندو رهندو آهي. انهن کي ابدي طور تي وڌندڙ ايمان حاصل ٿي ويندو آهي.

فَهَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا السَّاعَةَ اَنْ تَاْتِيَهُمْ بَغْتَةً ۚ فَقَدْ جَآءَ اَشْرَاطُهَا ۚ فَاَنّٰى لَهُمْ اِذَا جَآءَتْهُمْ ذِكْرٰىهُمْ ﴿١٨﴾ فَاعْلَمْ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اسْتَغْفِرْ لِذَنْۢبِكَ وَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتِ ؕ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ مُتَقَلَّبَكُمْ وَ مَثْوٰىكُمْ ﴿١٩﴾ ع

اهي ماڻهو ته رڳو ان جا منتظر آهن ته قيامت انهن تي اوچتو اچي وڃي، (جڏهن ته) ان جون علامتون ظاهر ٿي چڪيون آهن، پوءِ جڏهن اها اچي ويندي ته انهن لاءِ نصيحت حاصل ڪرڻ جو موقعو ڪٿان رهندو، پوءِ ڄاڻي وٺ ته الله کان سواءِ ڪو معبود نه آهي ۽ معافي گهر پنهنجي قصور لاءِ ۽ مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن لاءِ ۽ الله اوهان جي اچ وڃ جو هنڌ ۽ اوهان جي رهڻ جي جڳهه ڄاڻندو آهي. ١٨-١٩

زلزلي جي اچڻ جي اڳواٽ اطلاع کان جيڪو ماڻهو هوشيار نه ٿئي، اهو ڄڻ زلزلي جي اچڻ جو منتظر آهي. ڇاڪاڻ ته هر اچڻ وارو لمحو زلزلي کي ان جي ويجهو آڻي رهيو آهي، اهڙي طرح قيامت جي اڳڪٿي کان ماڻهو هوشيار نه ٿو ٿئي، پر جڏهن قيامت اوچتو مٿس ايندي ته هو اعتراف ڪرڻ لڳندو، پر ان وقت جو اعتراف ان کي فائدو نه ڏيندو، ڇاڪاڻ ته اعتراف اهو آهي جيڪو پردو ڪڇڻ کان اڳ ڪيو وڃي. پردو ڪڇي وڃڻ کان پوءِ اعتراف جي ڪا به قيمت نه آهي.

استغفار اصل ۾ عاجزي جي احساس جو اظهار آهي. قيامت جي دهشت ناڪ هئڻ جو يقين ۽ الله جي قدرت ۽ ان جو هر شيءِ کان باخبر هئڻ جو احساس ماڻهن جي اندر جيڪا نفسياتي صورتحال پيدا ڪري ٿو، اهو هر لمحي لطيف ڪلمن جي روپ ۾ ظاهر ٿيندو رهي ٿو. انهن ڪلمن کي ذڪر ۽ دعا ۽ استغفار چيو ويندو آهي.

وَ يَقُوْلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَوْ لَا نُزِّلَتْ سُوْرَةٌ ۚ فَاِذَآ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ مُّحْكَمَةٌ وَّ ذُكِرَ فِيْهَا
الْقِتَالُ ۙ رَاَيْتَ الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ يَّنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ نَظَرَ الْمَغْشِيِّ عَلَيْهِ مِنَ
الْمَوْتِ ؕ فَاَوْلٰى لَهُمْ ﴿٢٠﴾ طَاعَةٌ وَّ قَوْلٌ مَّعْرُوْفٌ ۫ فَاِذَا عَزَمَ الْاَمْرُ ۫ فَلَوْ صَدَقُوا اللّٰهَ
لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ﴿٢١﴾ فَهَلْ عَسَيْتُمْ اِنْ تَوَلَّيْتُمْ اَنْ تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ وَ تُقَطِّعُوْٓا
اَرْحَامَكُمْ ﴿٢٢﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فَاَصَمَّهُمْ وَ اَعْمٰٓى اَبْصَارَهُمْ ﴿٢٣﴾

۽ جن ماڻهن ايمان آندو آهي اهي چوندا آهن تہ ڪا سورت ڇو نہ نازل ڪئي وئي، پوءِ جڏهن هڪ واضح سورة نازل ڪئي وئي ۽ ان ۾ جنگ جو ذڪر بہ هو تہ تو ڏٺو جن جي دلين ۾ بيماري آهي، اهي توڏانهن اهڙي طرح نهاري رهيا آهن جيئن ڪنهن تي موت (جي سڪرات) پهتي هجي، پوءِ انهن لاءِ خرابي آهي. چيو وٺڻ ۽ چڱي ڳالهہ چوڻ آهي، پوءِ جڏهن معاملي جو قطعي فيصلو ٿي وڃي تہ جيڪڏهن اهي الله سان سچا رهن ها تہ انهن لاءِ بهتر هو، پوءِ جيڪڏهن توهان (اسلام) ڪان ڦري ويا تہ توهين ان ڳالهہ کي ويجها آهيو تہ زمين ۾ فساد ڪندو ۽ پاڻ ۾ مائٽيون ڇنيندؤ. هي اهي ماڻهو آهن جن تي الله لعنت ڪئي پوءِ کين ٻوڙو ڪيائين ۽ سندن اکين کي انڌو ڪيائين. ٢٠-٢٣

---

منافق جي سڃاڻپ اها آهي تہ هو ڳالهائڻ ۾ سيني کان اڳيان هوندو آهي ۽ عمل ۾ سيني کان پٺيان. جهاد کان اڳ ۾ هو جهاد جون ڳالهيون ڪندو ۽ جڏهن جهاد شروع ٿيندو تہ هو ان کان ڀڄندو.

سچي ايمان واري جو طريقو اهو آهي جو هو هر وقت ٻڌڻ ۽ مڃڻ جي لاءِ تيار رهي ۽ جڏهن بہ ڪنهن سخت قدم جو فيصلو ٿي وڃي تہ هو پنهنجي عمل سان ثابت ڪري ڇڏي تہ هن الله کي شاهد بڻائي جيڪو عهد ڪيو هو، اهو ان عهد ۾ پورو لٿو.

منافق ماڻهو جهاد کان بچڻ لاءِ بظاهر امن جون ڳالهيون ڪندا آهن، پر عملن صورتحال هي آهي تہ جتي بہ انهن کي موقعو ملندو آهي، اُهي يڪدم فساد ڦهلائڻ شروع ڪري ڇڏيندا آهن. ايستائين جو جن مسلمانن سان سندن مائٽيون آهن، انهن جي پرواهہ نہ ڪندي مسلمانن جي دشمنن جا مددگار بڻجي ويندا آهن. اهڙا ماڻهو الله جي نظر ۾ ملعون (لعنتي) آهن. ملعون هئڻ جو مطلب هي آهي تہ ماڻهو جي سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت ان کان کسجي وڃي. هو اکين هوندي بہ نہ ڏسي ۽ ڪنن هوندي بہ ڪجهہ نہ ٻڌي .

اَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْاٰنَ اَمْ عَلٰى قُلُوْبٍ اَقْفَالُهَا ﴿٢٤﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ ارْتَدُّوْا عَلٰٓى اَدْبَارِهِمْ مِّنْۢ
بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ الْهُدَى ۙ الشَّيْطٰنُ سَوَّلَ لَهُمْ ؕ وَ اَمْلٰى لَهُمْ ﴿٢٥﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْا
لِلَّذِيْنَ كَرِهُوْا مَا نَزَّلَ اللّٰهُ سَنُطِيْعُكُمْ فِيْ بَعْضِ الْاَمْرِ ۚ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ اِسْرَارَهُمْ ﴿٢٦﴾
فَكَيْفَ اِذَا تَوَفَّتْهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ يَضْرِبُوْنَ وُجُوْهَهُمْ وَ اَدْبَارَهُمْ ﴿٢٧﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمُ اتَّبَعُوْا مَآ
ع٩ اَسْخَطَ اللّٰهَ وَ كَرِهُوْا رِضْوَانَهٗ فَاَحْبَطَ اَعْمَالَهُمْ ﴿٢٨﴾

چا ھي ماڻھو قرآن ۾ غور نٿا ڪن يا سندن دلين تي تالا لڳل آھن. جيڪي ماڻھو ان ڪان پوءِ جو انھن تي ھدايت واضح ٿي پنھنجن پٺين پر ڦريا، شيطان ڪين دوکو ڏنو ۽ الله انھن کي مھلت ڏني، اھو ھن ڪري آھي تہ جيڪي الله نازل ڪيو آھي، تنھن کي جن ماڻھن ناپسند ڪيو تن کي انھن منافقن چيو تہ ڪن ڪمن ۾ اوھان جو چيو مڃينداسون ۽ الله سندن ڳجھين ڳالھين کي ڄاڻندو آھي، پوءِ ان وقت ڇا ٿيندو جڏھن فرشتا سندن روح ڪيندا ۽ سندن منھن ۽ سندن پٺيون ڪُٽيندا. ھي ان ڪري جو انھن اُن شيءِ جي پيروي ڪئي جيڪا الله کي ڪاوڙ ڏيارڻ واري ھئي ۽ انھن ان جي رضا کي ناپسند ڪيو. تنھن ڪري الله سندن عملن کي ڇٽ ڪري ڇڏيو. ٢٤-٢٨

---

قرآن نصيحت جو ڪتاب آھي، پر ڪنھن شيءِ مان نصيحت وٺڻ لاءِ ضروري آھي تہ ماڻھو نصيحت جي باري ۾ سنجيده ھجي. جيڪڏھن ڪو غلط جذبو ماڻھو ۾ پيدا ٿئي ۽ ان کي نصيحت جي باري ۾ غيرسنجيده بڻائي ڇڏي تہ پوءِ ھو نصيحت کان فائدو نہ ٿو ڪڍي سگھي، چاھي نصيحت کي ڪيتري ئي سٺي انداز ۾ بيان ڪيو ويو ھجي.

دين جو ڪو اھڙو حڪم سامھون اچي جنھن ۾ ماڻھو کي پنھنجي خواھش ۽ مفادن جي قرباني ڏيڻي پئي تہ شيطان فوراً ماڻھو کي ڪو ڪوڙو عذر سمجھائي ڇڏيندو آھي ۽ موجوده دنيا ۾ امتحان جي مھلت جي ڪري ماڻھو کي موقعو ملي ٿو وڃي ۽ ھو ڪوڙي عذر کي عملي طور اختيار ڪري ٿو وٺي، پر اھو سڀ ڪجھ رڳو ڪجھ ڏينھن لاءِ آھي. موت جو وقت ايندي ئي سڄي صورتحال بلڪل مختلف ٿي ويندي.

ھتي نفاق جي لاءِ ارتداد جو لفظ استعمال ڪيو ويو آھي، پر اسان کي معلوم آھي تہ انھن منافقن کي ارتداد جي مقرر سزا نہ ڏني وئي. ان مان معلوم ٿيو تہ ارتداد جي شرعي سزا صرف انھن ماڻھو لاءِ آھي، جيڪي اعلان ڪري مرتد ٿي وڃن. اسان ايئن نٿا ڪري سگھون جو ڪنھن ماڻھو کي بطور خود قلبي طور تي مرتد قرار ڏئي ۽ پوءِ ھن کي اھا سزا ڏيون جيڪا شريعت ۾ مرتدن جي لاءِ مقرر آھي.

اَمۡ حَسِبَ الَّذِيۡنَ فِيۡ قُلُوۡبِهِمۡ مَّرَضٌ اَنۡ لَّنۡ يُّخۡرِجَ اللّٰهُ اَضۡغَانَهُمۡ ﴿٢٩﴾ وَ لَوۡ نَشَآءُ لَاَرَيۡنٰكَهُمۡ فَلَعَرَفۡتَهُمۡ بِسِيۡمٰهُمۡ ؕ وَ لَتَعۡرِفَنَّهُمۡ فِيۡ لَحۡنِ الۡقَوۡلِ ؕ وَ اللّٰهُ يَعۡلَمُ اَعۡمَالَكُمۡ ﴿٣٠﴾

جن ماڻھن جي دل ۾ بيماري آھي، ڇا اُھي خيال ڪن ٿا تہ الله سندن ڪيني (وير) کي ڪڏھن ظاھر نہ ڪندو ۽ جيڪڏھن اسان چاھيون ھا تہ اسان اُھي توکي ڏيکاري ڇڏيون ھا، پوءِ تون سندن چھرن مان ڪين سڃاڻين ھا ۽ تون سندن ڳالھائڻ جي انداز مان ضرور ڪين سڃاڻي وٺندين ۽ الله توھان جي عملن کي ڄاڻي ٿو. ٢٩-٣٠

---

منافقن جي بيماري اھا ھئي جو انھن جي سينن ۾ حسد (ضغن) ھو. منافق مسلمانن کي پنھنجي مخلص ديني ڀائرن ڪا حسد ڇو ٿيو. ان جو سبب اِھو ھو جو اسلام جي ھر ترقي سان انھن مخلص مسلمانن جي بہ ترقي ۽ زور ۾ اضافو پئي ٿيو ۽ اھا شيءِ منافقن ۾ ساڙ پيدا ڪندي ھئي. اُھي سوچيندا ھئا تہ اسان اھڙي ڪم ۾ پنھنجي جان ۽ مال ڇو کپايون جنھن سان ٻين جي حيثيت وڌي، جنھن سان ٻين کي وڏائي جو مقام حاصل ٿي وڃي.

منافق پنهنجي ظاهري رويي ۾ پنهنجي ان اندروني حالت کي لڪائيندا هئا. پر سمجهدار ماڻهن لاءِ اهو لڪيل نہ هو. منافق جو مصنوعي لهجو ۽ سندن درد کان خالي آواز ظاهر ڪري ڇڏيندو هو تہ اسلام سان سندن تعلق رڳو ڏيکاءُ جو تعلق آهي، نہ وري حقيقت ۾ قلبي تعلق.

وَ لَنَبْلُوَنَّكُمْ حَتّٰى نَعْلَمَ الْمُجٰهِدِيْنَ مِنْكُمْ وَ الصّٰبِرِيْنَ ۙ وَ نَبْلُوَاۡ اَخْبَارَكُمْ ﴿٣١﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ صَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ شَآقُّوا الرَّسُوْلَ مِنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ الْهُدٰى ۙ لَنْ يَّضُرُّوا اللّٰهَ شَيْـًٔا ؕ وَ سَيُحْبِطُ اَعْمَالَهُمْ ﴿٣٢﴾

اسان ضرور توهان کي آزمائينداسون تہ جيئن اسان انهن ماڻهن کي ڄاڻي وٺون جيڪي توهان ۾ جهاد ڪرڻ وارا آهن ۽ ثابت قدم رهڻ وارا آهن ۽ توهان جا احوال جانچون. بيشڪ جن ماڻهن انڪار ڪيو ۽ الله جي رستي کان روڪيو ۽ رسول جي مخالفت ڪئي، جڏهن تہ هدايت انهن تي واضح ٿي چڪي هئي. اُهي الله کي ڪجھ نقصان نہ پهچائي سگهندا ۽ الله سندن عمل سگهوئي ڇٽ ڪندؤ. ٣١-٣٢

---

ماڻهو کي ايمان جي ڪري مختلف حالتون پيش ايندڀون آهن. اهي حالتون سندس ايمان جو امتحان هونديون آهن. اُهي حالتون تقاضا ڪنديون آهن تہ ماڻهو قرباني جي قيمت تي پنهنجي مؤمن هجڻ جو ثبوت ڏي. هو پنهنجي نفس کي ماري، هو پنهنجي مادي مفاد کي نظرانداز ڪري، هو ماڻهن جي طرفان تڪليفن کي برداشت ڪري، ايستائين جو جان ۽ مال کپائي پنهنجي ايمان تي قائم رهي.

مؤمن کي اهڙي قسم جي حالتن ۾ وجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ غيرمؤمن کي ڪلي آزادي حاصل هجي، تہ جيئن هو اهل ايمان جي خلاف هر قسم جون ڪارروائيون ڪري سگهن. انهن ڪارروائين جي ذريعي هڪ طرف مخالفن جو جرم ثابت ٿي ويندو آهي، ٻي پاسي انهن سخت حالتن ۾ اهل ايمان ثابت قدم رهي ڏيکاري ڇڏيندا آهن تہ اُهي حقيقت ۾ مؤمن آهن ۽ ان قابل آهن تہ الله جي معياري دنيا ۾ وسائڻ لاءِ سندن انتخاب ڪيو وڃي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَ لَا تُبْطِلُوْۤا اَعْمَالَكُمْ ﴿٣٣﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ صَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ مَاتُوْا وَ هُمْ كُفَّارٌ فَلَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ ﴿٣٤﴾ فَلَا تَهِنُوْا وَ تَدْعُوْۤا اِلَى السَّلْمِ ۖۗ وَ اَنْتُمُ الْاَعْلَوْنَ ۖۗ وَ اللّٰهُ مَعَكُمْ وَ لَنْ يَّتِرَكُمْ اَعْمَالَكُمْ ﴿٣٥﴾

اي ايمان وارؤ! الله جي اطاعت ڪريو ۽ رسول جي اطاعت ڪريو ۽ پنهنجن عملن کي برباد نہ ڪريو. بيشڪ جن ماڻهن انڪار ڪيو ۽ الله جي راهہ کان روڪيو، پوءِ اُهي منڪر ٿي مري ويا. الله انهن کي ڪڏهن نہ بخشيندو. پوءِ توهان همت نہ هاريو ۽ صلح ڏانهن نہ سڏيو ۽ توهان ئي غالب رهندو ۽ الله توهان سان گڏ آهي ۽ هو توهان جي عملن کي ضايع نہ ڪندو. ٣٣-٣٥

---

هڪ روايت ۾ اچي ٿو تہ رسول الله ﷺ جي زماني ۾ ڪجھ مسلمانن اهو خيال ظاهر ڪيو تہ جيڪڏهن هو لَاۤاِلٰهَ اِلَّااللّٰه جو اقرار ڪري وٺن تہ ڪو گناهہ ڪين نقصان نہ پهچائيندو. ان تي هي آيت (٣٣) نازل ٿي. ان جي روشني ۾ آيت جو مطلب اِهو آهي تہ ماڻهو کي گهرجي تہ هو ايمان سان گڏ اطاعت کي

جمع ڪري. هو نہ رڳو آسان حڪمن جي پيروي ڪري، بلڪ هو انهن حڪمن جي بہ تابعداري ڪري جن لاءِ پنهنجي نفس کي مارڻو ۽ پنهنجي مفاد کي خطري ۾ وجهڻو پئي ٿو. جيڪڏهن هو ايئن نہ ڪيو تہ ان کي سندس پويان عمل ڪجهہ فائدو نہ ڏيندا.

ڪمزور مسلمانن جو حال اِهو هوندو آهي جو اُهي حق جو ساٿ ان شرط تي ڏيندا آهن جو وقت جا وڏا انهن کان ناراض نہ ٿين. جيڪڏهن هو ڏسندا آهن تہ حق جو ساٿ ڏيڻ ۾ وقت جي وڏن کي ناراض ڪرڻ جو سبب بڻجي رهيو آهي تہ اُهي وڏن ڏانهن جهڪي ويندا آهن، پوءِ ڪٽي هي وڏا حق جا منڪر هجن ۽ حق کي روڪڻ وارا ڇو نہ هجن.

جيڪي ماڻهو حق جو انڪار ڪن ۽ ان جا مخالف بڻجي وڃن، اُهي ڪڏهن بہ الله جي رحمت حاصل نٿا ڪري سگهن. پوءِ جيڪي ماڻهو اهڙن منڪرن جو ساٿ ڏين سندن انجام انهن کان مختلف ڇو ٿيندو.

اسلام ۾ جنگ بہ آهي ۽ صلح بہ، پر اُها جنگ اسلامي جنگ نہ آهي، جيڪا اشتعال جي ڪري وڙهي وڃي. اهڙي طرح اهو صلح بہ اسلامي صلح نہ آهي جيڪو بزدلي ۽ بي همتي جي ڪري هجي. ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ ٻئي شيون سوچي سمجهي فيصلي تحت ڪيون وڃن نہ رڳو جذباتي ردعمل جي تحت.

اِنَّمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا لَعِبٌ وَّ لَهْوٌ ؕ وَ اِنْ تُؤْمِنُوْا وَ تَتَّقُوْا يُؤْتِكُمْ اُجُوْرَكُمْ وَ لَا يَسْـَٔلْكُمْ
اَمْوَالَكُمْ ﴿۳۶﴾ اِنْ يَّسْـَٔلْكُمُوْهَا فَيُحْفِكُمْ تَبْخَلُوْا وَ يُخْرِجْ اَضْغَانَكُمْ ﴿۳۷﴾ هٰۤاَنْتُمْ هٰۤؤُلَآءِ
تُدْعَوْنَ لِتُنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ فَمِنْكُمْ مَّنْ يَّبْخَلُ ۚ وَ مَنْ يَّبْخَلْ فَاِنَّمَا يَبْخَلُ عَنْ
نَّفْسِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ الْغَنِيُّ وَ اَنْتُمُ الْفُقَرَآءُ ۚ وَ اِنْ تَتَوَلَّوْا يَسْتَبْدِلْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ ۙ ثُمَّ لَا
يَكُوْنُوْۤا اَمْثَالَكُمْ ﴿۳۸﴾

دنيا جي زندگي تہ رڳو راند ۽ تماشو آهي ۽ جيڪڏهن توهان ايمان آڻيندو ۽ تقويٰ اختيار ڪندؤ تہ الله توهان جو اجر توهان کي ڏيندو ۽ هو توهان جا مال توهان کان نہ گهرندو، جيڪڏهن هو توهان کا توهان جا مال گهري ۽ پوءِ گهرندو ئي رهي تہ توهان بخل ڪندؤ ۽ الله توهان جو ڪينو ظاهر ڪندو، خبردار! توهان اُهي ماڻهو آهيو جو توهان کي الله جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ لاءِ سڏيو وڃي ٿو، پوءِ توهان مان ڪجهہ آهن جيڪي بخل ڪن ٿا ۽ جيڪو ماڻهو بخل ڪري ٿو سو رڳو پاڻ سان بخل ڪري ٿو ۽ الله بي نياز آهي توهان محتاج آهيو ۽ جيڪڏهن توهان منهن موڙيندو تہ الله توهان جي جاءِ تي ٻئي قوم آڻيندو، پوءِ اُهي توهان جهڙا نہ هوندا. ٣٦-٣٨

ايمان ۽ تقويٰ جي زندگي اختيار ڪرڻ ۾ جيڪا شيءِ رڪاوٽ بڻجي ٿي اِهي دنيا جا فائدا ۽ دنيا جون رونقون آهن، ماڻهو چاهي ٿو تہ اهو کهڙو رويو آهي جيڪو آخرت ۾ ان کي ڪامياب بڻائڻ وارو آهي، پر وقتي مصلحتن جو خيال هن تي غالب اچي ويندو آهي ۽ هو گمراهي ڏانهن هليو ويندو آهي. جڏهن تہ حقيقت اها آهي تہ الله پنهنجن ٻانهن جي حق ۾ وڏو مهربان آهي، هو ڪڏهن بہ انسان کان ايترو وڏو مطالبو نہ ٿو ڪري جيڪو هن لاءِ ناقابل برداشت هجي، جنهن جي نتيجي ۾ ايئن ٿئي جو هن جو ڀرم کلي وڃي ۽ ان جون لڪيل بشري ڪمزوريون ماڻهن جي سامهون ظاهر ٿي وڃن.

اسلام الله جو دين آهي، پر ان جي اشاعت ۽ حفاظت جو ڪم هن عالم اسباب ۾ انساني جماعت جي ذريعي انجام ڏنو ويندو آهي ۽ مسلمان اُها انساني جماعت آهي. مسلمان جيڪڏهن پنهنجي ذميداري کي انجام ڏين ته اُهي الله جي نظر ۾ قيمتي آهن، پر جيڪڏهن اُهي پنهنجي ذميداري کي انجام ڏيڻ ۾ ناڪام رهن ته الله ٻئي قوم کي ايمان جي توفيق ڏيندو ۽ ان جي ذريعي پنهنجي دين جو تسلسل باقي رکندو.

آياتها ٢٩ (٤٨) سُوْرَةُ الْفَتْحِ مَدَنِيَّةٌ (١١١) رکوعاتها ٤

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اِنَّا فَتَحْنَا لَكَ فَتْحًا مُّبِيْنًا ۙ﴿۱﴾ لِّيَغْفِرَ لَكَ اللّٰهُ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْۢبِكَ وَ مَا تَاَخَّرَ وَ يُتِمَّ
نِعْمَتَهٗ عَلَيْكَ وَ يَهْدِيَكَ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا ۙ﴿۲﴾ وَّ يَنْصُرَكَ اللّٰهُ نَصْرًا عَزِيْزًا ﴿۳﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

بيشڪ اسان توکي پڌري فتح ڏني، ته جيئن الله تنهنجا اڳيان ۽ پويان قصور معاف ڪري ۽ توتي پنهنجي نعمت پوري ڪري ۽ توکي سڌي واٽ ڏيکاري ۽ توکي زبردست مدد عطا ڪري. ١-٣

سن ٦ هجري ۾ رسول الله ﷺ پنهنجي اصحابن سان مديني کان مڪي لاءِ روانا ٿيا، ته جيئن اتي عمرو ادا ڪري سگهن، پاڻ ﷺ حديبيه جي مقام تي پهتا هئا ته مڪي جي مشرڪن اڳيان وڌي پاڻ ﷺ کي روڪي ڇڏيو ۽ انهن چيو ته اسان پاڻ ﷺ کي مڪي ۾ داخل نه ٿيڻ ڏينداسون. ان کان پوءِ ڳالهه ٻولهه شروع ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ ڌرين جي وچ ۾ هڪ صلح جو معاهدو ٿيو.

اهو معاهدو بظاهر مشرڪن جي شرطن تي ٿيو، اصحاب رسول کي اهو معاهدو سخت ناپسند هو. اهي ان کي ذلت جي صلح سمجهي رهيا هئا. پر پاڻ ﷺ حديبيه کان واپس ويندي اڃا رستي ۾ ئي هئا جو هي آيت نازل ٿي، ”اسان توکي پڌري فتح ڏني“. ان جو سبب اهو هو ته ان معاهدي جي تحت اهو طي ٿيو هو ته ڏهن سالن تائين مسلمانن ۽ مشرڪن جي وچ ۾ جنگ نه ٿيندي، لڙائي جو بند ٿيڻ اصل ۾ دعوت جو دروازو کلڻ جي هم معنيٰ هو. هجرت کان پوءِ مسلسل جنگي حالتن جي نتيجي ۾ دعوت جو ڪم رڪجي ويو هو. هاڻي جنگ بندي ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ آزاد خيالن جي ڏي وٺ جي فضا پيدا ڪري ڇڏي.

اهڙي طرح ان معاهدي مقابلي جي ميدان کي بدلي ڇڏيو. اڳ ۾ ٻنهي ڌرين جو مقابلو جنگ جي ميدان ۾ ٿيندو هو، جنهن ۾ مشرڪن کي تعداد ۽ اسباب جي لحاظ کان برتر حيثيت حاصل هئي، هاڻي مقابلو نظرياتي ميدان ۾ اچي ويو ۽ نظرياتي ميدان ۾ شرڪ جي مقابلي ۾ توحيد کي واضح طور تي برتر حيثيت حاصل هئي. اها ئي ان معاملي ۾ ”سڌي واٽ“ هئي. يعني اها واٽ جنهن توحيد جي علمبردارن لاءِ فتح کي يقيني بڻائي ڇڏيو.

هُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ السَّكِيْنَةَ فِيْ قُلُوْبِ الْمُؤْمِنِيْنَ لِيَزْدَادُوْٓا اِيْمَانًا مَّعَ اِيْمَانِهِمْ ؕ وَ لِلّٰهِ
جُنُوْدُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ۙ﴿۴﴾ لِّيُدْخِلَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتِ
جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا وَ يُكَفِّرَ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ ؕ وَ كَانَ ذٰلِكَ
عِنْدَ اللّٰهِ فَوْزًا عَظِيْمًا ۙ﴿۵﴾ وَّ يُعَذِّبَ الْمُنٰفِقِيْنَ وَ الْمُنٰفِقٰتِ وَ الْمُشْرِكِيْنَ وَ الْمُشْرِكٰتِ
الظَّآنِّيْنَ بِاللّٰهِ ظَنَّ السَّوْءِ ؕ عَلَيْهِمْ دَآئِرَةُ السَّوْءِ ۚ وَ غَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ وَ لَعَنَهُمْ وَ
اَعَدَّ لَهُمْ جَهَنَّمَ ؕ وَ سَآءَتْ مَصِيْرًا ﴿۶﴾ وَ لِلّٰهِ جُنُوْدُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ
عَزِيْزًا حَكِيْمًا ﴿۷﴾

(الله) اُهو آهي جنهن مؤمنن جي دلين ۾ اطمينان لاٿو ته جيئن سندن ايمان اڳئين ايمان سان (ملي) وڌي وڃي ۽ آسمانن ۽ زمين جا لشڪر الله جا ئي آهن ۽ الله ڄاڻڻ وارو حڪمت وارو آهي، ته جيئن الله مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪري جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. اُهي ان ۾ سدائين رهندا ۽ سندن برايون ڪانئن پري ڪري ڇڏي ۽ اها الله وٽ وڏي ڪاميابي آهي ۽ ته جيئن الله منافق مردن ۽ منافقن عورتن ۽ مشرڪ مردن ۽ مشرڪ عورتن کي عذاب ڏي. جيڪي الله لاءِ برو گمان رکندا آهن، مصيبت جو ڦيرو مٿن هجي ۽ مٿن الله جو غضب آهي ۽ انهن تي الله لعنت ڪئي ۽ انهن لاءِ دوزخ تيار ڪئي اٿس ۽ اهو وڏو بڇڙو نڪاڻو آهي ۽ آسمانن ۽ زمين جا لشڪر الله جا آهن ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي. ٤-٧

---

هتي ”سڪينت“ مان مراد اشتعال جي باوجود مشتعل نه ٿيڻ آهي. حديبيه جي سفر ۾ اسلام جي مخالفن طرح طرح سان مسلمانن کي اشتعال ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي، ته جيئن اهي مشتعل ٿي ڪري ڪا اهڙي ڪارروائي ڪن، جنهن ڪان پوءِ انهن خلاف اڳرائي جو جواز ملي وڃي، پر مسلمانن هر اشتعال کي برداشت ڪيو. اُهي آخري حدتائين درگذر جي پاليسي تي قائم رهيا.

الله چاهي ته هو پنهنجي براهِ راست قوت سان باطل کي شڪست ڏئي ڇڏي ۽ حق کي غلبو عطا فرمائي، پر الله جو ايئن ڪندو آهي جو ”صلح حديبيه“ جهڙين حالتن ۾ اهل ايمان کي وجهندو آهي. ان جو مقصد ايمان وارن جي ايمان ۾ اضافو ڪرڻ آهي. ماٿهو جڏهن پنهنجي اندر انتقام جي نفسيات کي دٻائي ۽ هڪ سرڪش قوم کان ان ڪري صلح ڪري وٺي جو اها حق جي دعوت جي تقاضا آهي. جڏهن هو پنهنجي شعوري فيصلي جي تحت اهو ڪم ڪري ٿو جنهن کي ڪرڻ لاءِ سندس دل راضي نه هو ته اهڙي طرح هو پنهنجي ايمان جي شعور کي وڌائي ٿو. هو پاڻ کي اهڙي رباني ڪيفيت جي لهڻ جو هنڌ بڻائي ٿو جنهن کي ڪنهن ٻي تدبير سان حاصل نه ٿو ڪري سگهجي، پوءِ ان عمل جو اهو فائدو به آهي ته ان جي ذريعي جنت وارا ماڻهو الڳ ٿي ويندا آهن ۽ جهنم وارا ماڻهو الڳ.

اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا ۙ﴿۸﴾ لِّتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ تُعَزِّرُوْهُ وَ تُوَقِّرُوْهُ ؕ
وَ تُسَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّ اَصِيْلًا ﴿۹﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يُبَايِعُوْنَكَ اِنَّمَا يُبَايِعُوْنَ اللّٰهَ ؕ يَدُ اللّٰهِ فَوْقَ

اَيۡدِيۡهِمۡ ۚ فَمَنۡ نَّكَثَ فَاِنَّمَا يَنۡكُثُ عَلٰى نَفۡسِهٖ ۚ وَ مَنۡ اَوۡفٰى بِمَا عٰهَدَ عَلَيۡهُ اللّٰهَ
فَسَيُؤۡتِيۡهِ اَجۡرًا عَظِيۡمًا ﴿١٠﴾

بيشڪ اسان توکي شاهدي ڏيندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو آهي، تہ جيئن توهان الله تي ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ ان جي مدد ڪريو ۽ سندس تعظيم ڪريو ۽ صبح ۽ شام الله جي پاڪائي بيان ڪريو. جيڪي ماڻهو توسان بيعت ڪندا آهن، اهي درحقيقت الله سان بيعت ڪندا آهن. الله جو هٿ سندن هٿن مٿان آهي، پوءِ جيڪو شخص ان کي ٽوڙيندو، ان جي ٽوڙڻ جو وبال ان ئي تي آهي ۽ جيڪو شخص ان عهد کي پورو ڪندو جيڪو ان الله سان ڪيو آهي تہ الله ان کي وڏو اجر عطا فرمائيندو. ٨-١٠

شاه ولي الله صاحب شاهد جو ترجمو حق جو اظهار ڪرڻ وارو ڪيو آهي. اهوئي ان لفظ جو صحيح ترين مفهوم آهي. پيغمبر جو اصل ڪم اهو آهي جو هو حقيقت جو اعلان ۽ اظهار ڪري ڇڏي، هو واضح طور تي ٻڌائي ڇڏي تہ موت کان پوءِ جي ابدي زندگي ۾ ڪن ماڻهن لاءِ الله جو انعام آهي ۽ ڪن ماڻهن لاءِ الله جي سزا.

اهڙي هڪ حق جي شاهد جو سامهون اچڻ ان جي مخاطبن لاءِ سڀني کان سخت امتحان هوندو آهي. انهن کي هڪ بشر جي آواز ۾ الله جي آواز کي ٻڌڻو پوي ٿو. هڪ بظاهر انسان کي الله جي نمائندي جي روپ ۾ ڏسڻو پوي ٿو. هڪ انسان جي هٿ ۾ پنهنجو هٿ ڏيندي اهو سمجهڻو پوي ٿو تہ هو پنهنجو هٿ الله جي هٿ ۾ ڏئي رهيا آهن. جيڪي ماڻهو ان اعليٰ معرفت جو ثبوت ڏين. انهن لاءِ الله وٽ تمام وڏو اجر آهي ۽ جيڪي ماڻهو ان امتحان ۾ ناڪام رهن تہ انهن لاءِ سخت سزا.

سَيَقُوۡلُ لَكَ الۡمُخَلَّفُوۡنَ مِنَ الۡاَعۡرَابِ شَغَلَتۡنَاۤ اَمۡوَالُنَا وَ اَهۡلُوۡنَا فَاسۡتَغۡفِرۡ لَنَا ۚ
يَقُوۡلُوۡنَ بِاَلۡسِنَتِهِمۡ مَّا لَيۡسَ فِىۡ قُلُوۡبِهِمۡ ؕ قُلۡ فَمَنۡ يَّمۡلِكُ لَـكُمۡ مِّنَ اللّٰهِ شَيۡـًٔا اِنۡ اَرَادَ
بِكُمۡ ضَرًّا اَوۡ اَرَادَ بِكُمۡ نَفۡعًا ؕ بَلۡ كَانَ اللّٰهُ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ خَبِيۡرًا ﴿١١﴾ بَلۡ ظَنَنۡتُمۡ اَنۡ لَّنۡ
يَّنۡقَلِبَ الرَّسُوۡلُ وَ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ اِلٰٓى اَهۡلِيۡهِمۡ اَبَدًا وَّ زُيِّنَ ذٰلِكَ فِىۡ قُلُوۡبِكُمۡ وَ ظَنَنۡتُمۡ ظَنَّ
السَّوۡءِ ۖۚ وَ كُنۡتُمۡ قَوۡمًۢا بُوۡرًا ﴿١٢﴾ وَ مَنۡ لَّمۡ يُؤۡمِنۡۢ بِاللّٰهِ وَ رَسُوۡلِهٖ فَاِنَّاۤ اَعۡتَدۡنَا لِلۡكٰفِرِيۡنَ
سَعِيۡرًا ﴿١٣﴾ وَ لِلّٰهِ مُلۡكُ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ ؕ يَغۡفِرُ لِمَنۡ يَّشَآءُ وَ يُعَذِّبُ مَنۡ يَّشَآءُ ؕ وَ كَانَ
اللّٰهُ غَفُوۡرًا رَّحِيۡمًا ﴿١٤﴾

جيڪي ٻهراڙي وارا پوئتي رهجي ويا اهي هاڻي توکي چوندا اسان کي پنهنجي مال ۽ اهل عيال مشغول رکيو. تنهن ڪري اسان لاءِ بخشش گهر. اهي پنهنجن زبانن سان اها ڳالهہ چوندا آهن جيڪا سندن دلين ۾ نہ آهي. تون چئو تہ ڪير آهي جيڪو الله جي سامهون توهان لاءِ ڪجهہ اختيار رکندو هجي، جيڪڏهن هو توهان کي ڪو نقصان يا ڪو نفعو پهچائڻ چاهي، بلڪ الله ان کان باخبر آهي جيڪو توهان ڪري رهيا آهيو. بلڪ توهان اهو گمان ڪيو هو تہ رسول ۽ مؤمن ڪڏهن پنهنجي گهر وارن ڏانهن موٽي نہ ايندا ۽ اهو گمان توهان جي دلين کي

تمام چڱو نظر آيو ۽ توهان تمام بڇڙا گمان ڪيا ۽ توهان برباد ٿيڻ واري قوم آهيو ۽ جنهن الله تي ۽ ان جي
رسول تي ايمان نه آندو ته اسان اهڙن منڪرن لاءِ ٻرندڙ باهه تيار ڪئي آهي ۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله
ئي جي آهي. هو جنهن کي چاهي بخشي ۽ جنهن کي چاهي عذاب ڏي ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. ١١-١٤

---

رسول الله ﷺ مديني ۾ خواب ڏٺو هو ته پاڻ عمري لاءِ مڪي جو سفر ڪري رهيا آهن. ان جي مطابق پاڻ ﷺ پنهنجن اصحابين سان گڏ مڪي لاءِ روانا ٿيا. پر ان وقت حالتون بيحد خراب هيون، شديد انديشو هو ته قريش سان لڙائي ٿئي ۽ مسلمان ماريا وڃن تنهن ڪري مڪي جي ويجهو قريش جي ماڻهن مسلمانن جي جماعت کي پٿر هنيا ۽ طرح طرح سان کين تنگ ڪيو ته جيئن اهي مشتعل ٿي وڃن ۽ قريش کي انهن خلاف اڳرائي جو موقعو ملي، پر مسلمانن صبر ۽ درگذر سان لڙائي کي ٽاري ڇڏيو.

مديني جي آسپاس گهڻا ڪمزور مسلمان اُن جنگ جي گمان جي ڪري سفر ۾ شريڪ نه ٿيا. جڏهن پاڻ ﷺ حفاظت سان واپس موٽي آيا ته اهي ماڻهو پاڻ ﷺ وٽ پهنجي وفاداري ظاهر ڪرڻ لاءِ آيا ۽ پاڻ ﷺ کان معافي گهرڻ لڳا، پر انهن کي معافي نه ڏني وئي. ان جو سبب اِهو هو ته سندن عذر ڪوڙو عذر هو نه وري سچو عذر. الله وٽ سچو عذر هميشه قابل قبول هوندو آهي ۽ ڪوڙو عذر هميشه ناقابل قبول.

انهن ماڻهن جو الله جي رسول سان سفر ۾ شريڪ نه ٿيڻ بي يقيني جو سبب هو، نه وري ڪنهن حقيقي عذر جي ڪري. اهي سمجهندا هئا ته اهڙي خطرناڪ سفر کان پري رهي اهي پنهنجي مفاد کي محفوظ بڻائي رهيا آهن. انهن کي خبر نه هئي ته نفعي ۽ نقصان جو مالڪ الله آهي، جيڪڏهن الله نه بچائي ته ڪنهن جون حفاظتي تدبيرون ان کي بچائي نه ٿيون سگهن. اهڙن ماڻهن لاءِ دنيا ۾ به بربادي آهي ۽ آخرت ۾ به بربادي.

سَيَقُوْلُ الْمُخَلَّفُوْنَ اِذَا انْطَلَقْتُمْ اِلٰى مَغَانِمَ لِتَاْخُذُوْهَا ذَرُوْنَا نَتَّبِعْكُمْ ۚ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يُّبَدِّلُوْا كَلٰمَ اللّٰهِ ۭ قُلْ لَّنْ تَتَّبِعُوْنَا كَذٰلِكُمْ قَالَ اللّٰهُ مِنْ قَبْلُ ۚ فَسَيَقُوْلُوْنَ بَلْ تَحْسُدُوْنَنَا ۭ بَلْ كَانُوْا لَا يَفْقَهُوْنَ اِلَّا قَلِيْلًا ۝١٥

جڏهن اوهان غنيمت جو مال هٿ ڪرڻ لاءِ ويندو تڏهن پوئتي رهجي وڃڻ وارا ماڻهو چوندا ته اسان کي به پاڻ سان گڏ هلڻ ڏيو. اهي چاهين ٿا ته الله جي ڳالهه کي بدلي ڇڏين. چؤ ته توهان هرگز اسان سان گڏ نه ٿا هلي سگهو، الله اڳ ۾ ئي فرمائي چڪو آهي، پوءِ اُهي چوندا بلڪ اوهين اسان سان حسد ڪريو ٿا. بلڪ اهي ماڻهو تمام گهٽ سمجهن ٿا. ١٥

---

صلح حديبيه کان اڳ ۾ يهودي مسلمانن جي دشمني ۾ تمام اڳتي هئا، ڇاڪاڻ ته صلح حديبيه جي معاهدي کان اڳ ۾ انهن کي قريش جو پورو تعاوُن حاصل هو. حديبيه ۾ جنگ نه ڪرڻ جي معاهدي يهودين کي قريش کان ڪٽي ڇڏيو. ان کان پوءِ اُهي اڪيلا رهجي ويا. ان ڪري خيبر، تيما، فدڪ وغيره جي يهودين جا حوصلا ٽٽي پيا. تنهن ڪري صلح جي ٽن مهينن کان پوءِ رسول الله ﷺ خيبر تي چڙهائي ڪئي ته اتي جي يهودين لڙائي جي بغير هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ انهن جو تمام گهڻو مال غنيمت مسلمانن جي هٿ آيو.

ڪمزور ايمان وارا ماڻهو جيڪي حديبيه جي سفر کي پاڻ لاءِ خطرو سمجهي رسول الله ﷺ سان

گڏ نہ ويا هئا هاڻي انهن چاهيو تہ اهي يهودين جي خلاف ڪارروائي ۾ شريڪ ٿين ۽ مال غنيمت ۾ پنهنجو حصو حاصل ڪن، پر انهن کي گڏ هلڻ کان روڪيو ويو. الله جو قانون اهو آهي تہ جيڪو خطرو هوندي بہ ساٿ ڏي، اهو ئي نفعو بہ حاصل ڪري. ماڻهو جڏهن بغير ڪنهن خطري جي فائدو حاصل ڪرڻ چاهي تہ ڄڻ هو قانون الاهي کي بدلڻ چاهي ٿو، پر هن دنيا ۾ الله جي قانون کي بدلڻ ڪنهن جي لاءِ ممڪن نہ آهي.

قُلْ لِّلْمُخَلَّفِيْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ سَتُدْعَوْنَ اِلٰى قَوْمٍ اُولِيْ بَاْسٍ شَدِيْدٍ تُقَاتِلُوْنَهُمْ اَوْ
يُسْلِمُوْنَ ۚ فَاِنْ تُطِيْعُوْا يُؤْتِكُمُ اللّٰهُ اَجْرًا حَسَنًا ۚ وَ اِنْ تَتَوَلَّوْا كَمَا تَوَلَّيْتُمْ مِّنْ قَبْلُ
يُعَذِّبْكُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿١٦﴾ لَيْسَ عَلَى الْاَعْمٰى حَرَجٌ وَّ لَا عَلَى الْاَعْرَجِ حَرَجٌ وَّ لَا عَلَى
الْمَرِيْضِ حَرَجٌ ؕ وَ مَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ يُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۚ وَ
ع ٢ مَنْ يَّتَوَلَّ يُعَذِّبْهُ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿١٧﴾

پوئتي رهجي ويل ٻهراڙي وارن کي چئو تہ عنقريب توهان اهڙن ماڻهن ڏانهن سڏيا ويندؤ. جيڪي وڏي زور وارا آهن. توهان انهن سان وڙهندو يا اهي اسلام آڻيندا. پوءِ جيڪڏهن توهان حڪم مڃيو تہ الله توهان کي چڱو اجر ڏيندو ۽ جيڪڏهن توهان ڦرندو جيئن ان کان اڳ ڦريا هئا تہ (الله) توهان کي ڏکوئيندڙ عذاب ڏيندو نہ انڌي تي ڪو گناهہ آهي ۽ نہ منڊي تي ڪو گناهہ آهي ۽ نہ بيمار تي ڪو گناهہ آهي ۽ جيڪو ماڻهو الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪندو ان کي الله اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون ۽ جيڪو ماڻهو ڦري ويندو ان کي هو ڏکوئيندڙ عذاب ڏيندو. ١٦-١٧

---

جن ماڻهن حديبيہ (٦ هجري) جي موقعي تي ڪمزوري ڏيکاري هئي، اهي ان جي نتيجي ۾ ملڻ واري انعام کان تہ محروم رهيا، پر انهن لاءِ دروازو اڃا بہ بند نہ ٿيو. چاڪاڻ تہ توحيد جي مهم کي اڃا ٻيا وڏا وڏا معرڪا پيش اچڻ وارا هئا. فرمايو ويو جيڪڏهن توهان آئنده پيش اچڻ وارن موقعن تي قرباني جو ثبوت ڏنو تہ ٻيهر توهان الله جي رحمتن جا مستحق ٿي ويندو.

اهڙي قسم جا امتحان ماڻهو جي مؤمن يا منافق هجڻ جو فيصلو ڪندا آهن. ان کان آجا رڳو اهي ماڻهو آهن جن کي واقعي ڪو عذر هجي. مجبوري جي ڪري ڪوتاهي کي الله معاف فرمائيندو آهي، پر جيڪا ڪوتاهي مجبوري جي بغير ڪئي وڃي، اها الله وٽ معافي جي قابل نہ آهي.

لَقَدْ رَضِيَ اللّٰهُ عَنِ الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ يُبَايِعُوْنَكَ تَحْتَ الشَّجَرَةِ فَعَلِمَ مَا فِيْ قُلُوْبِهِمْ
فَاَنْزَلَ السَّكِيْنَةَ عَلَيْهِمْ وَ اَثَابَهُمْ فَتْحًا قَرِيْبًا ﴿١٨﴾ۙ وَّ مَغَانِمَ كَثِيْرَةً يَّاْخُذُوْنَهَا ؕ وَ كَانَ
اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ﴿١٩﴾ وَعَدَكُمُ اللّٰهُ مَغَانِمَ كَثِيْرَةً تَاْخُذُوْنَهَا فَعَجَّلَ لَكُمْ هٰذِهٖ وَ كَفَّ
اَيْدِيَ النَّاسِ عَنْكُمْ ۚ وَ لِتَكُوْنَ اٰيَةً لِّلْمُؤْمِنِيْنَ وَ يَهْدِيَكُمْ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا ﴿٢٠﴾ۙ وَّ
اُخْرٰى لَمْ تَقْدِرُوْا عَلَيْهَا قَدْ اَحَاطَ اللّٰهُ بِهَا ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرًا ﴿٢١﴾

الله ايمان وارن کان راضي ٿيو جڏهن اهي توسان وڻ جي هيٺ بيعت ڪري رهيا هئا. الله ڄاڻي ورتو جيڪو ڪجهه انهن جي دلين ۾ هو، پوءِ ان مٿن اطمينان نازل ڪيو ۽ کين انعام ۾ هڪ ويجهي فتح ڏنائين ۽ گهڻيون غنيمتون به جن کي اهي حاصل ڪندا ۽ الله غالب آهي حڪمت وارو آهي ۽ الله توهان سان گهڻن غنيمتن جو وعدو ڪيو آهي جن کي توهان حاصل ڪندو، پوءِ اهي جلد ئي اوهان کي ڏئي ڇڏيائين ۽ ماڻهن جا هٿ توهان کان روڪي ڇڏيا ۽ ته جيئن ايمان وارن لاءِ اها هڪ نشاني بڻجي وڃي ۽ ته جيئن هو توهان کي سڌي واٽ تي هلاءِ ۽ هڪ فتح ٻي به آهي جنهن تي توهان اڃا قادر نه آهيو. اُها الله جي وس ۾ آهي ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي. ١٨-٢١

---

حديبيه جي سفر ۾ هڪ موقعي تي اها خبر ڦهلجي وئي ته قريش حضرت عثمان رضي الله عنه کي قتل ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو انهن وٽ رسول الله ﷺ جي سفير طور ويو هو. اهو هڪ اڳرائي جو معاملو هو. تنهن ڪري رسول الله ﷺ ٻٻر جي هڪ وڻ هيٺ پنهنجن چوڏهن سؤ اصحابن کان هي بيعت ورتي ته اُهي مري ويندا، پر دشمن کي پٺي نه ڏيکاريندا. اسلام جي تاريخ ۾ انهي بيعت جو نالو بيعتِ رضوان آهي.

اها بيعت جنهن مقام تي ورتي وئي اهو مديني کان اڍائي سؤ ميل ۽ مڪي کان صرف ٻارهن ميل جي فاصلي تي هو. جڏهن مسلمان پنهنجي مرڪز کان گهڻو پري هئا ۽ قريش پنهنجي مرڪز کي گهڻو ويجهو هئا. مسلمان عمري جي نيت سان نڪتا هئا، ان ڪري انهن وٽ رڳو سفر جو سامان هو، جڏهن ته قريش هر قسم جي جنگي سامان سان مسلح هئا. اهڙي نازڪ موقعي تي اهو صرف ماڻهن جو اخلاص جو جذبو هو جنهن انهن کي آماده ڪيو ته هو رسول الله ﷺ جو ساٿ ڏين. ڇاڪاڻ ته ڪو ظاهري دٻاءُ اتي موجود ئي نه هو.

”الله انهن جي دلين جو حال ڄاڻتو ۽ سڪينت نازل فرمائي.“ ان مان مراد اُهو رنج ۽ بيچيني آهي جيڪا حديبيه جي صلح واري معاهدي جي نوعيت جي ڪري صحابه جي دلين ۾ پيدا ٿي هئي، جيئن ته انهن الله جي ان حڪم کي صبر ۽ سڪون سان قبول ڪري ورتو، ان جي نتيجي ۾ ڪجهه مهينن کان پوءِ ئي ان جا فائدا ظاهر ٿيڻ شروع ٿيا. ان معاهدي قريش کي يهودين کان الڳ ڪري ڇڏيو، اهڙي طرح يهودين کي شڪست ڏيڻ آسان ٿي ويئي. جنگي حالتون ختم ٿيڻ جي ڪري اسلام جي تبليغ تمام تيزي سان وڌي، ايستائين جو خود قريش کي دعوت جي ذريعي تابع ڪري ورتو، جڏهن ته جنگ جي ذريعي انهن کي قابو ڪرڻ مشڪل هو.

وَلَوْ قٰتَلَكُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوَلَّوُا الْاَدْبَارَ ثُمَّ لَا يَجِدُوْنَ وَلِيًّا وَّ لَا نَصِيْرًا ﴿٢٢﴾ سُنَّةَ اللّٰهِ الَّتِيْ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلُ ۚۖ وَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّةِ اللّٰهِ تَبْدِيْلًا ﴿٢٣﴾ وَ هُوَ الَّذِيْ كَفَّ اَيْدِيَهُمْ عَنْكُمْ وَ اَيْدِيَكُمْ عَنْهُمْ بِبَطْنِ مَكَّةَ مِنْۢ بَعْدِ اَنْ اَظْفَرَكُمْ عَلَيْهِمْ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرًا ﴿٢٤﴾

۽ جيڪڏهن اهي منڪر توهان سان جنگ ڪن ها ته ضرور پٺيون ڦيرائي ڀڄن ها، پوءِ هو نه ڪو حمايتي لهن ها ۽ نه مددگار. اها الله جي سنت آهي جيڪا اڳ کان ئي هلندي پئي اچي ۽ تون الله جي سنت ۾ ڪا ڦيرقار نه

ڏسندين ۽ اهوئي آهي جنهن مڪي جي وادي ۾ انهن جا هٿ توهان کان ۽ توهان جا هٿ انهن کان روڪي ڇڏيا.
پوءِ هن انهن کي توهان جي قابو ۾ ڏئي ڇڏيو هو ۽ الله توهان جي ڪمن کي ڏسي رهيو هو. ٢٢-٢٤

پيغمبر جي اول مخاطبن لاءِ الله جو قانون اهو آهي ته انهن جي انڪار ڪرڻ کان پوءِ هو ڪين هلاڪ ڪري ڇڏيندو آهي. حديبيه جي موقعي تي قريش جو انڪار آخري طور سامهون اچي ويو هو. اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن جنگ جي نوبت اچي ها ته مسلمانن جي مدد لاءِ الله جا فرشتا لهن ها ۽ اهي مسلمانن جو ساٿ ڏيئي سندن دشمن جو خاتمو ڪري ڇڏين ها.

پر مشرڪن جي سلسلي ۾ الله جي مصلحت اها هئي ته انهن کي هلاڪ نه ڪيو وڃي، بلڪ سندن غيرمعمولي انساني صلاحيتن کي اسلام جي مقصد لاءِ استعمال ڪيو وڃي، ان ڪري الله تعاليٰ پنهنجي پيغمبر جي جنگ نه ڪرڻ واري معاهدي ڏانهن رهنمائي فرمائي.

هُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ صَدُّوْكُمْ عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ وَ الْهَدْيَ مَعْكُوْفًا اَنْ يَّبْلُغَ مَحِلَّهٗ ؕ وَ لَوْ لَا رِجَالٌ مُّؤْمِنُوْنَ وَ نِسَآءٌ مُّؤْمِنٰتٌ لَّمْ تَعْلَمُوْهُمْ اَنْ تَطَـُٔوْهُمْ فَتُصِيْبَكُمْ مِّنْهُمْ مَّعَرَّةٌۢ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۚ لِيُدْخِلَ اللّٰهُ فِيْ رَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ۚ لَوْ تَزَيَّلُوْا لَعَذَّبْنَا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿٢٥﴾

هي اهي ماڻهو آهن جن ڪفر ڪيو ۽ توهان کي مسجدحرام کان روڪيو ۽ قرباني جي جانورن کي به روڪي رکيو جو اهي پنهنجي جاءِ تي نه پهچن ۽ جيڪڏهن ”مڪي ۾“ گهڻا مسلمان مرد ۽ مسلمان عورتون نه هجن ها جن کي توهان نه ڄاڻندي لتاڙي ڇڏيو ها، پوءِ بيخبريءِ ۾ انهن جو توهان کي گناهه پهچي ها ته جيئن الله جنهن کي چاهي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪري ۽ جيڪڏهن اهي ماڻهو (ٻئي ٽوليون) ڌار ٿي ويون هجن ها ته انهن ۾ جيڪي منڪر هئا، انهن کي اسان ڏکوئيندڙ عذاب ڏيون ها. ٢٥

قريش جي سردارن پيغمبر جي خلاف پنهنجي دشمني جي ڪري پاڻ کي عذاب جو مستحق بڻائي ورتو هو ۽ ان قابل هئا جو انهن سان جنگ ڪئي وڃي، پر هڪ عظيم مصلحت جي ڪري انهن سان جنگ جي بجاءِ صلح ڪئي وئي. اها مصلحت اها هئي جو ان وقت قريش جي جماعت ۾ گهڻا اهڙا ماڻهو به هئا جيڪي يا پنهنجي دل ۾ شرڪ کان توبهه ڪري توحيد تي ايمان آڻي چڪا هئا يا اهڙا ماڻهو هئا جن جي صلاحيتن جي ڪري اهو يقيني هو ته امن جون حالتون ٿينديون ته اهي اسلام قبول ڪري وٺندا. ان ڪري الله تعاليٰ ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ جنگ نه ٿيڻ ڏني، ته جيئن اهي ماڻهو مؤمن بڻجي دنيا ۾ پنهنجو اسلامي ڪردار ادا ڪن ۽ آخرت ۾ الله جو انعام حاصل ڪن. الله جي نظر ۾ هر ٻي مصلحت جي مقابلي ۾ دعوت جي مصلحت وڌيڪ اهميت رکندي آهي.

اِذْ جَعَلَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْحَمِيَّةَ حَمِيَّةَ الْجَاهِلِيَّةِ فَاَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَ اَلْزَمَهُمْ كَلِمَةَ التَّقْوٰى وَ كَانُوْۤا اَحَقَّ بِهَا وَ اَهْلَهَا ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ
بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا ﴿٢٦﴾ ع

جڏهن انڪار ڪرڻ وارن پنهنجن دلين ۾ ضد پيدا ڪيو، جاهليت جو ضد. پوءِ الله پنهنجي طرفان اطمينان نازل ڪيو پنهنجي رسول تي ۽ ايمان وارن تي ۽ الله انهن کي تقويٰ جي ڳالهه تي ثابت قدم رکيو ۽ اهي ان جا وڌيڪ حقدار ۽ ان جا اهل هئا ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. ٢٦

جنهن ماڻهو جي اندر الله جو خوف پيدا ٿي وڃي، ان جي دل مان هڪ الله کان سواءِ هر ٻي شيءِ جي اهميت نڪري ويندي آهي. هو صرف هڪ الله کي سچي اهميت ڏيڻ لڳندو آهي. حديبيه جو موقعو صحابه لاءِ اهڙي ئي قسم جو هڪ سخت امتحان هو، جنهن ۾ اهي پورا لٿا. ان موقعي تي ٻي ڌر جاهليت واري ضد ۽ قومي تعصب جو زبردست مظاهرو ڪيو، پر صحابه هر ڳالهه کي الله لاءِ درگذر ڪيو. ان پرهيزگاري جي مزاج انهن کي ان سخت امتحان ۾ جوابي ڪارروائي، ضد ۽ نفرت کان بچايو. اهي مسلسل اشتعال ڏيارڻ وارين حرڪتن جي باوجود آخري وقت تائين مشتعل نہ ٿيا.

لَقَدْ صَدَقَ اللّٰهُ رَسُوْلَهُ الرُّءْيَا بِالْحَقِّ ۚ لَتَدْخُلُنَّ الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ اٰمِنِيْنَ ۙ مُحَلِّقِيْنَ رُءُوْسَكُمْ وَ مُقَصِّرِيْنَ ۙ لَا تَخَافُوْنَ ؕ فَعَلِمَ مَا لَمْ تَعْلَمُوْا فَجَعَلَ مِنْ دُوْنِ ذٰلِكَ فَتْحًا قَرِيْبًا ﴿۲۷﴾

بيشڪ الله پنهنجي رسول کي سچو خواب ڏيکاريو. بيشڪ الله چاهيو تہ توهان مسجدحرام ۾ ضرور داخل ٿيندؤ امن سان پنهنجا مٿا ڪوڙائي ۽ وار ڪترائي. توهان کي ڪو خوف نہ هوندو. پوءِ جيڪو توهان نہ ڄاڻندا آهيو، سو الله ڄاتو. پوءِ ان کان اڳ هن هڪ ويجهي فتح عنايت فرمائي. ٢٧

حديبيه جو سفر رسول الله ﷺ جي هڪ خواب جي ڪري ٿيو. پاڻ ﷺ مديني ۾ خواب ڏٺو تہ پاڻ ﷺ مڪي پهچي عمرو ادا ڪري رهيا آهن. ان خواب کي ماڻهن الله جي بشارت سمجهو ۽ مديني کان مڪي لاءِ روانا ٿيا، پر حديبيه جي مقام تي قريشن کين روڪيو ۽ بالآخر عمرو ادا ڪرڻ کان سواءِ ماڻهن کي واپس موٽي اچڻو پيو، ان ڪري ڪجهه ماڻهن کي خيال ٿيو تہ ڇا پيغمبر جو خواب سچو نہ هو، پر اهو رڳو قياس هو. ڇاڪاڻ تہ خواب ۾ واضح طور اهو نہ ٻڌايو ويو هو تہ هِن ئي سال عمرو ٿيندو، تنهن ڪري خود معاهدي جي شرطن مطابق مٿين سال ذوالقعد سن ٧ هجري ۾ عمرو پوري امن و امان سان ادا ڪيو ويو. ان عمري کي اسلامي تاريخ ۾ عمرة القصا چيو ويندو آهي.

ان سال عمري کي ملتوي ڪرڻ هڪ عظيم مصلحت جي قيمت تي ٿيو. اها مصلحت تہ ان جي ذريعي قريشن سان ڏهہ سال جنگ نہ ڪرڻ جو معاهدو طي ٿي ويو ۽ ان جي نتيجي ۾ دعوت جي ڪم لاءِ موافق ماحول پيدا ٿيو. اها خود هڪ فتح هئي. ڇاڪاڻ تہ ان جي ذريعي شرڪ جي علمبردارن تي آخري ۽ مڪمل فتح جو دروازو کلي ويو.

هُوَ الَّذِيْٓ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى وَدِيْنِ الْحَقِّ لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ ؕ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ﴿۲۸﴾

۽ (الله) اهو آهي جنهن پنهنجي رسول کي هدايت ۽ سچي دين سان موڪليو تہ ان کي سيني دينن تي غالب ڪري ۽ الله شاهد ڪافي آهي. ٢٨

رسول اللهﷺ جون ٻہ حيثيتون هيون. هڪ اها تہ پاڻﷺ پيغمبر هئا ۽ ٻي اها تہ پاڻﷺ آخري پيغمبر هئا. پاڻﷺ کان پوءِ ڪو ٻيو پيغمبر اچڻ وارو نہ آهي. پهرين حيثيت جي لحاظ کان پاڻﷺ کي ٻہ اهوئي ڪم ڪرڻو هو، جيڪو سڀني پيغمبرن ڪيو. يعني توحيد جو اعلان ۽ آخرت کان ڊيڄارڻ ۽ خوشخبري ڏيڻ.

ٻي حيثيت جو معاملو مختلف هو. ٻي حيثيت جي لحاظ کان پاڻﷺ جي ذريعي اُهي تاريخي حالتون پيدا ڪرڻ گهربل هيون، جيڪي ڪتاب الاهي ۽ سنت نبوي جي حفاظت جي ضمانت بڻجي وڃن، تہ جيئن ٻيهر ڪو خلا پيدا نہ ٿئي، جنهن جي نتيجي ۾ ٻيهر پيغمبر موڪلڻ ضروري ٿي ويندو آهي. هن ٻئي پهلو جو تقاضو هو تہ پاڻﷺ جي دعوت صرف ”اعلان“ تي ختم نہ ٿي وڃي. بلڪ اها ”انقلاب“ تائين پهچي. انقلاب مان مراد عالمي تاريخ ۾ اها تبديلي پيدا ڪرڻ آهي جنهن کان پوءِ اُهي حالتون هميشہ لاءِ ختم ٿي وڃن جن جي ڪري بار بار الله جي هدايت گم يا تبديل ٿي ويندي هئي. جنهن جي ڪري ضرورت پيش ايندي هئي تہ نئون پيغمبر اچي ٻيهر هدايت کي اصلي صورت ۾ زنده ڪري.

مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ؕ وَ الَّذِيْنَ مَعَهٗۤ اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ تَرٰىهُمْ رُكَّعًا
سُجَّدًا يَّبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَ رِضْوَانًا ٞ سِيْمَاهُمْ فِيْ وُجُوْهِهِمْ مِّنْ اَثَرِ السُّجُوْدِ ؕ
ذٰلِكَ مَثَلُهُمْ فِي التَّوْرٰىةِ ۛۚ وَ مَثَلُهُمْ فِي الْاِنْجِيْلِ ۛ۫ كَزَرْعٍ اَخْرَجَ شَطْـَٔهٗ فَاٰزَرَهٗ
فَاسْتَغْلَظَ فَاسْتَوٰى عَلٰى سُوْقِهٖ يُعْجِبُ الزُّرَّاعَ لِيَغِيْظَ بِهِمُ الْكُفَّارَ ؕ وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ
اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ مِنْهُمْ مَّغْفِرَةً وَّ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٢٩﴾ ع ١٢

محمد الله جو رسول آهي ۽ جيڪي ماڻهو ان سان گڏ آهن سي منڪرن تي سخت آهن ۽ پاڻ ۾ مهربان آهن. تون انهن کي رڪوع ۽ سجدي ۾ ڏسندين. اُهي الله جي فضل ۽ رضامندي جا طلبگار آهن. انهن جي نشاني سندن منهن تي سجدي جي اثر کان نمايان آهي. سندن اها وصف توريت ۾ آهي ۽ سندن وصف انجيل ۾ هي آهي تہ اُهي انهيءَ پوک وانگر آهن جنهن پنهنجو سلو ڪڍيو، پوءِ ان کي مضبوط ڪيائين، پوءِ ٿلهو ٿيو، پوءِ پنهنجي سلي تي سڌي بيٺي جو ڪڙمين کي پئي وڻي تہ جيئن ڪافرن کي ڪاوڙائي. انهن مان جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا، الله انهن سان بخشش ۽ وڏي اجر جو وعدو ڪيو آهي. ٢٩

پيغمبر اسلام کي هڪ عظيم تاريخي ڪردار ادا ڪرڻو هو، جنهن کي قرآن ۾ اظهار دين چيو ويو آهي. ان تاريخي ڪردار لاءِ پاڻﷺ کي اعليٰ انسانن جي هڪ جماعت جي ضرورت هئي. اها جماعت حضرت اسماعيل کي عرب جي صحرا ۾ آباد ڪري اڍائي هزار سالن جي اندر تيار ڪئي وئي. اها هڪ حقيقت آهي تہ بني اسماعيل جي اها جماعت تاريخ جي جاندار ترين جماعت هئي. انهن جي صلاحيتن جڏهن قرآن مان فيض حاصل ڪيو تہ پروفيسر مارگو ليٿ جي لفظن ۾ عرب جي اها قوم سورمن جي هڪ قوم (A Nation of heroes) ۾ بدلجي وئي. هن جماعت جي اهميت الله جي نظر ۾ ايتري وڏيڪ هئي جو انهن جي باري ۾ الله اڳڪٿي طور پنهنجن پيغمبرن کي باخبر ڪري ڇڏيو هو، تنهن ڪري توريت ۾ انهن جون انفرادي وصفون درج ڪيون ويون ۽ انجيل ۾ انهن جون اجتماعي وصفون.

ان جماعت جي هڪ هڪ فرد جي اها خاصيت ٻڌائي وئي آهي ته اهي منڪرن تي سخت ۽ مؤمن لاءِ نرم آهن. يعني سندن رويو اصول تحت هوندو آهي، نه وري خواهش ۽ جذبن تحت . شاهه عبدالقادر صاحب ان جي تشريح ۾ لکندا آهن ”جيڪا سختي ۽ نرمي پنهنجي عادت جي ڪري هجي، اها هر جاءِ تي ساڳي طور ظاهر ٿيندي ۽ جيڪا ايمان سان سينگاريل هوندي. اها سختي پنهنجي مناسب جاءِ تي ظاهر ٿيندي ۽ نرمي پنهنجي مناسب جاءِ تي. اهڙي طرح انهن ماڻهن جو مزاج اِهو آهي ته اهي خدا جي اڳيان جهڪڻ وارا ۽ ان جي عبادت ۽ ذڪر ۾ رهڻ وارا هئا، الله ڏانهن سندن توجهه ايتري وڌيل هئي جو ان جو نشان سندن چهرن تي نمايان ٿي رهيو هو. اصحاب رسول جون هي صفتون ان تفصيل سان موجوده تحريف ٿيل توريت ۾ نٿيون ملن، پوءِ به ڪتاب استثناء (ب . ٣٣) ۾ بزرگن (Saints) جو لفظ اڃا به موجود آهي.

البته انجيل جي اڳڪٿي اڄ به مرقس (ب ٤) ۽ متي (باب ١٣) ۾ موجود آهي. اهي مثال جي زبان ۾ ان ڳالهه جو اعلان آهي ته اسلام جي دعوت هڪ ٻوٽي وانگر مکي ڪان شروع ٿيندي، پوءِ اها وڌندي وڌندي هڪ طاقتور وڻ بڻجي ويندي. ايستائين جو استحڪام جي ان درجي ڪي پهچي ويندي جو اهل حق ان کي ڏسي خوش ٿيندا ۽ اهل باطل ڪاوڙ ۽ حسد ۾ مبتلا ٿيندا ۽ اهي چاهڻ جي باوجود ان جو ڪجهه نه بگاڙي سگهندا.

آياتها ١٨ (٤٩) سُوْرَةُ الْحُجُرٰتِ مَكِّيَّةٌ (١٠٦) رڪوعاتها ٢

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيِ اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۱﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان ۽ نهايت رحم وارو آهي.

اي ايمان وارو! توهان الله ۽ ان جي رسول جي آڏو اڳرائي نه ڪريو ۽ الله کان ڊڄو. بيشڪ الله ٻڌڻ وارو، ڄاڻڻ وارو آهي. ١

---

رسول جي راءِ کان پنهنجي راءِ کي مٿي ڪرڻ حرام آهي. رسول اللهﷺ جي زندگي ۾ ان جي صورت اها هئي ته مجلس ۾ گفتگو ڪندي ڪو ماڻهو تيز ۽ بلند آواز ۾ ڳالهيون ڪندو هو، ته جيئن پاڻﷺ جي ڳالهه تي اُن جي راءِ کي اوليت ڏني وڃي. بعد جي زماني ۾ ان جو مطلب اهو آهي ته ماڻهو الله ۽ رسول جي ڏنل هدايت کان آزاد ٿي ڪري پنهنجي راءِ قائم ڪرڻ لڳي.

اهڙي قسم جي غفلت هميشه ان ڪري ٿيندي آهي جو ماڻهو اهو وساري ٿو ڇڏي ته الله ان تي نگران آهي. جيڪڏهن هو ڄاڻي ته ان جي منهن مان نڪتل آواز انسان تائين پهچڻ کان اڳ ۾ الله تائين پهچي رهيو آهي ته ماڻهو جي زبان رڪجي وڃي. هو ڳالهائڻ کان وڌيڪ ماٺ رهڻ کي پنهنجي لاءِ پسند ڪرڻ لڳي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَرْفَعُوْۤا اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ وَ لَا تَجْهَرُوْا لَهٗ بِالْقَوْلِ
كَجَهْرِ بَعْضِكُمْ لِبَعْضٍ اَنْ تَحْبَطَ اَعْمَالُكُمْ وَ اَنْتُمْ لَا تَشْعُرُوْنَ۝٢ اِنَّ الَّذِيْنَ يَغُضُّوْنَ
اَصْوَاتَهُمْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُولٰٓىِٕكَ الَّذِيْنَ امْتَحَنَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ لِلتَّقْوٰى ؕ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ
وَّ اَجْرٌ عَظِيْمٌ۝٣ اِنَّ الَّذِيْنَ يُنَادُوْنَكَ مِنْ وَّرَآءِ الْحُجُرٰتِ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ۝٤ وَ لَوْ
اَنَّهُمْ صَبَرُوْا حَتّٰى تَخْرُجَ اِلَيْهِمْ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ۝٥

اي ايمان وارو! توهان پنهنجو آواز پيغمبر جي آواز کان مٿي نه ڪريو ۽ نه ان کي اهڙي طرح ڏاڍيان سڏيو جهڙي طرح توهان پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي ڏاڍيان سڏيندا آهيو. ڪٿي ايئن نه ٿئي جو توهان جا عمل چٽ ٿي وڃن ۽ توهان کي خبر به نه پوي. جيڪي ماڻهو الله جي رسول جي آڏو پنهنجن آوازن کي جهڪو رکندا آهن. هي اُهي ماڻهو آهن جن جي دلين کي الله پرهيزگاري لاءِ آزمايو آهي. انهن لاءِ بخشش آهي ۽ وڏو اجر آهي. جيڪي ماڻهو حجرن جي ٻاهران توکي سڏيندا آهن انهن مان اڪثر سمجهه نه ٿا رکن ۽ جيڪڏهن اُهي صبر ڪن ها، جيستائين جو تون پاڻ انهن ڏانهن نڪري اچين ها ته اهو سندن لاءِ بهتر هو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. ٢-٥

---

مديني جي آسپاس بدوي قبيلا شعوري لحاظ کان گهٽي سمجهه وارا نه هئا. انهن جي سردارن جو حال اهو هو ته جڏهن اهي رسول الله جي مجلس ۾ ايندا هئا ته پاڻ ﷺ کي مخاطب ڪندي يارسول الله ﷺ چوڻ جي بجاءِ يا محمد چوندا هئا. سندن گفتگو ۾ نرمي نه هوندي هئي، بلڪ تڪبر جو انداز هوندو هو، ان کان کين منع ڪيو ويو. رسول دنيا ۾ الله جو نمائندو هوندو آهي. ان جي سامهون بداخلاقي الله جي سامهون بداخلاقي آهي، جيڪا ماڻهو کي بلڪل بي قيمت ڪري ڇڏڻ واري آهي.

رسول الله ﷺ جي وفات کان پوءِ پاڻ ﷺ جي آندل هدايت دنيا ۾ پاڻ ﷺ جو قائم مقام آهي. هاڻي ان مقدس هدايت سان اُها ئي تابعداري گهربل آهي جيڪا تابعداري رسول الله جي زندگي ۾ رسول جي ذات سان گهربل هوندي هئي.

الله جو خوف ماڻهو کي سنجيده بڻائي ٿو. ڪنهن جي دل ۾ جيڪڏهن واقعي الله جو خوف پيدا ٿي وڃي ته هو خود پنهنجي مزاج جي ڪري اُهي ڳالهيون ڇاڏي وٺندو جن کي ٻيا ماڻهو ٻڌائڻ جي باوجود نٿا سمجهن.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنْ جَآءَكُمْ فَاسِقٌۢ بِنَبَاٍ فَتَبَيَّنُوْۤا اَنْ تُصِيْبُوْا قَوْمًۢا بِجَهَالَةٍ
فَتُصْبِحُوْا عَلٰى مَا فَعَلْتُمْ نٰدِمِيْنَ۝٦ وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّ فِيْكُمْ رَسُوْلَ اللّٰهِ ؕ لَوْ يُطِيْعُكُمْ فِيْ
كَثِيْرٍ مِّنَ الْاَمْرِ لَعَنِتُّمْ وَ لٰكِنَّ اللّٰهَ حَبَّبَ اِلَيْكُمُ الْاِيْمَانَ وَ زَيَّنَهٗ فِيْ قُلُوْبِكُمْ وَ كَرَّهَ
اِلَيْكُمُ الْكُفْرَ وَ الْفُسُوْقَ وَ الْعِصْيَانَ ؕ اُولٰٓىِٕكَ هُمُ الرّٰشِدُوْنَ۝٧ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَ
نِعْمَةً ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ۝٨

اي ايمان وارو! جيڪڏهن ڪو فاسق توهان وٽ خبر آڻي ته توهان چڱي طرح تحقيق ڪري وٺو، ڪٿي ايئن نه

ٿئي جو توهان ڪنهن قوم کي ناداني ۾ نقصان پهچائي ڇڏيو، پوءِ پنهنجي ڪيل تي پشيمان ٿيو ۽ ڄاڻي وٺو ته توهان جي وچ ۾ الله جو رسول آهي، جيڪڏهن هو گهڻن معاملن ۾ توهان جي ڳالهه مڃي وٺي ته توهان وڏي مشڪل ۾ پئجي وڃو. پر الله توهان کي ايمان جي محبت ڏني ۽ ان کي توهان جي دلين ۾ وڻندڙ بڻايو آهي ۽ ڪفر ۽ گناهه ۽ نافرماني کان توهان کي بيزار ڪيو آهي. اهڙا ئي ماڻهو الله جي فضل ۽ انعام سان سڌي واٽ تي آهن ۽ الله ڄاڻڻ وارو حڪمت وارو آهي. ٦-٨

ڪو ماڻهو ٻئي ماڻهو لاءِ ڪا اهڙي خبر ڏي جنهن ۾ ان ماڻهو تي ڪو الزام اچي پيو ته اهڙي خبر کي رڳو ٻڌي مڃي وٺڻ ايماني احتياط جي سراسر خلاف آهي. ٻڌڻ واري تي لازم آهي ته هو ان جي ضروري تحقيق ڪري ۽ جيڪا راءِ قائم ڪري غيرجانبدار تحقيق کان پوءِ ڪري نه وري تحقيق کان اڳ ۾.

اڪثر ائين ٿيندو آهي ته جڏهن اهڙي قسم جي خبر هڪ ماڻهو کي ملي ٿي ته ان جا ساٿي فوراً ان جي خلاف اڳرائي جون ڳالهيون ڪرڻ لڳندا آهن. اها سخت غيرذميداري جي ڳالهه آهي. نه ڪنهن ماڻهو کي اهڙي خبر تي تحقيق کان اڳ ڪا راءِ قائم ڪرڻ گهرجي ۽ نه ان جي ساٿين کي تحقيق کان اڳ اڳرائي جو مشورو ڏيڻ کپي.

جيڪي ماڻهو هدايت جي رستي تي اچي وڃن انهن ۾ بلڪل مختلف مزاج پيدا ٿي ويندو آهي. بين تي الزام هڻڻ کان انهن کي نفرت ٿي ويندي آهي، تحقيق جي بغير ڳالهه ڪرڻ کان وڏيڪ اُهي ماٺ رهڻ پسند ڪندا آهن. سندن اهو مزاج ان ڳالهه جي علامت هوندو آهي ته کين الله جي رحمتن مان حصو مليو آهي. اهو ايمان حقيقت ۾ سندن زندگين ۾ داخل ٿيو آهي جنهن جو هو پنهنجي زبان سان اقرار ڪري رهيا آهن.

وَ اِنۡ طَآئِفَتٰنِ مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ اقۡتَتَلُوۡا فَاَصۡلِحُوۡا بَيۡنَهُمَا ۚ فَاِنۡۢ بَغَتۡ اِحۡدٰىهُمَا عَلَى
الۡاُخۡرٰى فَقَاتِلُوا الَّتِىۡ تَبۡغِىۡ حَتّٰى تَفِىۡٓءَ اِلٰٓى اَمۡرِ اللّٰهِ ۚ فَاِنۡ فَآءَتۡ فَاَصۡلِحُوۡا بَيۡنَهُمَا
بِالۡعَدۡلِ وَ اَقۡسِطُوۡا ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الۡمُقۡسِطِيۡنَ ﴿٩﴾ اِنَّمَا الۡمُؤۡمِنُوۡنَ اِخۡوَةٌ فَاَصۡلِحُوۡا بَيۡنَ
اَخَوَيۡكُمۡ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمۡ تُرۡحَمُوۡنَ ﴿١٠﴾ ع

۽ جيڪڏهن مسلمانن جون ٻه ٽوليون پاڻ ۾ وڙهن ته سندن وچ ۾ صلح ڪرايو. پوءِ جيڪڏهن انهن مان هڪ ٽولي ٻئي ٽولي تي زيادتي ڪري ته ان ٽولي سان وڙهو جيڪا زيادتي ڪري ٿي، ايستائين جو هو الله جي حڪم ڏانهن موٽي اچي. پوءِ جيڪڏهن هو موٽي اچي ته سندن وچ ۾ انصاف سان صلح ڪرايو ۽ انصاف سان هلو. بيشڪ الله انصاف ڪرڻ وارن کي پسند ڪري ٿو. مسلمان سڀ ڀائر آهن، تنهن ڪري پنهنجن ڀائرن ۾ صلح ڪرايو ۽ الله کان ڊڄو ته جيئن توهان تي رحم ڪيو وڃي. ٩-١٠

مسلمان پاڻ ۾ ڪهڙي طرح رهن، ان جو جواب هڪ لفظ ۾ اهو آهي ته اُهي اهڙي طرح رهن جهڙي طرح ڀائر پاڻ ۾ رهن ٿا. دين جو رشتو رت جي رشتي کان ڪهڙي به طرح گهٽ نه آهي، جيڪڏهن ٻه مسلمان ڀائر پاڻ ۾ وڙهي پون ته باقي مسلمانن کي هرگز ائين نه ڪرڻ گهرجي جو هو سندن وچ ۾ باهه کي وڌيڪ ڀڙڪائين، بلڪ انهن کي ڀائرن واري جذبي تحت ٻنهي جي وچ ۾ صلح ڪرائڻ لاءِ اٿڻ گهرجي.

۾ مسلمان جڏهن پاڻ ۾ وڙهن ته هڪ صورت اها آهي ته باقي مسلمان غيرجانبدار بڻجي وڃن يا جيڪڏهن اهي دخل ڏين ته اهڙي طرح جو خانداني ۽ جماعتي تعصب جي تحت ”پنهنجن“ سان ملي ”غيرن“ سان وڙهڻ لڳن، اهي سڀئي طريقا اسلام جي خلاف آهن. صحيح اسلامي طريقو اهو آهي ته اصل معاملي جي تحقيق ڪئي وڃي ۽ جيڪو ماڻهو حق تي هجي ان جو ساٿ ڏنو وڃي ۽ جيڪو ماڻهو ناحق تي هجي ان کي مجبور ڪيو وڃي جو هو معاملي جي انصاف واري فيصلي تي راضي ٿي وڃي.

الله کان ڊڄڻ وارو ماڻهو ڪڏهن اهڙو نه ٿو ٿي سگهي جو هو پين کي وڙهندي ڏسي ۽ ان مان مزو وٺي. هو اهڙي منظر کي ڏسي تڙپي ويندو. ان جو مزاج ان کي مجبور ڪندو ته هو پنهي جي وچ ۾ تعلق کي درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. هي اهي ماڻهو آهن جن جو الله تي ايمان الله جي رحمتن جا دروازا کولڻ جو سبب بڻيو.

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا يَسْخَرْ قَوْمٌ مِّنْ قَوْمٍ عَسٰٓى اَنْ يَّكُوْنُوْا خَيْرًا مِّنْهُمْ وَ لَا نِسَآءٌ مِّنْ نِّسَآءٍ عَسٰٓى اَنْ يَّكُنَّ خَيْرًا مِّنْهُنَّ ۚ وَ لَا تَلْمِزُوْٓا اَنْفُسَكُمْ وَ لَا تَنَابَزُوْا بِالْاَلْقَابِ ؕ بِئْسَ الِاسْمُ الْفُسُوْقُ بَعْدَ الْاِيْمَانِ ۚ وَ مَنْ لَّمْ يَتُبْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿١١﴾

اي ايمان وارو! نه مرد پين مردن جو مذاق اڏائين ٿي سگهي ٿو اُهي انهن کان بهتر هجن ۽ نه عورتون پين عورتن جو مذاق اڏائين ٿي سگهي ٿو جو اهي انهن کان بهتر هجن ۽ نه هڪ ٻئي تي عيب لڳايو ۽ نه هڪ ٻئي کي بڇڙن نالن سان سڏيو. ايمان آڻڻ کان پوءِ (ڪنهن کي) گناهه جو نالو ڏيڻ برو آهي ۽ جن توبهه نه ڪئي سي ئي ظالم آهن. ١١

---

هر ماڻهو ۾ پيدائشي طور تي وڏو بڻجڻ جو جذبو لڪيل هوندو آهي. اِهو ئي سبب آهي جو هڪ ماڻهو کي ٻئي ماڻهو جي ڪا ڳالهه ملي وڃي ته هو ان جو خوب چرچو ڪندو آهي، ته جيئن اهڙي طرح پاڻ کي وڏو ۽ ٻئي کي گهٽ ثابت ڪري هو پين جو مذاق اڏائي ٿو، هو پين تي عيب لڳائي ٿو، هو پين کي بڇڙن نالن سان ياد ڪري ٿو، ته جيئن ان جي ذريعي پنهنجي وڏائي جي جذبي لاءِ تسڪين حاصل ڪري.

پر چڱو ۽ برو هئڻ جو معيار اهو نه آهي جيڪو ماڻهو خود مقرر ڪري ٿو، چڱو دراصل اهو آهي جيڪو الله جي نظر ۾ چڱو هجي ۽ برو اهو آهي جيڪو الله جي نظر ۾ برو هجي. جيڪڏهن ماڻهو جي اندر واقعي ان جو احساس پيدا ٿي وڃي ته ان مان وڏائي جو جذبو ختم ٿي وڃي. پين جو مذاق اڏائڻ پين کي طعنو ڏيڻ، پين تي عيب لڳائڻ، پين کي برن نالن سان ياد ڪرڻ، سڀ ان کي بي معنيٰ لڳندا. ڇاڪاڻ ته هو سمجهي ويندو ته ماڻهن جي درجي ۽ مرتبي جو اصل فيصلو الله وٽ ٿيڻ وارو آهي، پوءِ جيڪڏهن اڄ آئون ڪنهن کي حقير سمجهان ۽ آخرت جي حقيقي دنيا ۾ ان کي باعزت قرار ڏنو وڃي ته منهنجو ان کي حقير سمجهڻ بلڪل بي معنيٰ هوندو.

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اجْتَنِبُوْا كَثِيْرًا مِّنَ الظَّنِّ ۫ اِنَّ بَعْضَ الظَّنِّ اِثْمٌ وَّ لَا تَجَسَّسُوْا وَ لَا يَغْتَبْ بَّعْضُكُمْ بَعْضًا ؕ اَيُحِبُّ اَحَدُكُمْ اَنْ يَّاْكُلَ لَحْمَ اَخِيْهِ مَيْتًا فَكَرِهْتُمُوْهُ ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ تَوَّابٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٢﴾

اي ايمان وارو! گهڻي گمان کان بچو، ڇاڪاڻ ڪجهه گمان گناهه آهن ۽ نہ جاسوسي ڪريو ۽ توهان مان ڪو ڪنهن جي غيبت نہ ڪري، ڇا توهان ۾ ڪو ان ڳالهه کي پسند ڪندو جو هو پنهنجي مئل ڀاءُ جو گوشت کائي، جنهن کي توهان خود ناگوار سمجهو ٿا ۽ الله کان ڊڄو. بيشڪ الله توبهہ قبول ڪندڙ مهربان آهي. ١٢

---

هڪ ماڻهو ڪنهن شخص جي باري ۾ بدگمان ٿي وڃي تہ ان جي هر ڳالهه هن کي غلط لڳندي آهي. ان جي باري ۾ هن جو ذهن منفي رخ تي هلي پوندو آهي، ان جي خوبين کان وڌيڪ هو ان جا عيب تلاش ڪرڻ لڳندو آهي. ان جون برايون بيان ڪري ان کي بي عزت ڪرڻ سندس محبوب مشغلو بڻجي ويندو آهي.

اڪثر سماجي خرابين جو بنياد بدگماني آهي. ان ڪري ضروري آهي تہ اهڙن معاملن ۾ ماڻهو هوشيار رهي. هو بدگماني کي پنهنجي ذهن ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏي.

توهان کي ڪنهن سان بدگماني ٿي وڃي تہ توهان ان سان ملي ڳالهائي سگهو ٿا، پر اهو سخت غيراخلاقي فعل آهي تہ ڪنهن جي غيرموجودگي ۾ ان کي برو چيو وڃي جڏهن تہ هو پنهنجي صفائي لاءِ اتي موجود نہ هجي. وقتي طور تي ڪڏهن ماڻهو کان اهڙي قسم جي غلطي ٿي سگهي ٿي، پر جيڪڏهن هو الله کان ڊڄڻ وارو آهي تہ هو پنهنجي غلطي تي آڪڙجي نہ ويندو، ان کي الله جو خوف فوراً سندس غلطي تي تنبيهہ ڪندو ۽ هو پنهنجي روش ڇڏي الله کان معافي طلبيندو.

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّا خَلَقْنٰكُمْ مِّنْ ذَكَرٍ وَّ اُنْثٰى وَ جَعَلْنٰكُمْ شُعُوْبًا وَّ قَبَآىِٕلَ لِتَعَارَفُوْا ؕ اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ خَبِيْرٌ ﴿١٣﴾

اي انسان! اسان توهان کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو آهي ۽ توهان کي ذاتيون ۽ قبيلا ڪيوسون تہ جيئن هڪ ٻئي کي سڃاڻو. بيشڪ الله وٽ توهان مان عزت وارو اُهو آهي جيڪو سڀني کان وڌيڪ پرهيزگار آهي. بيشڪ الله ڄاڻڻ وارو خبر رکندڙ آهي. ١٣

---

انسانن جي وچ ۾ مختلف قسم جا فرق هوندا آهن، ڪو اڇو آهي ۽ ڪو ڪارو، ڪو هڪ نسل مان آهي ڪو ٻئي نسل مان، ڪو هڪ علائقي سان تعلق رکي ٿو ۽ ڪو ٻئي سان. اهي سڀئي فرق صرف سڃاڻپ لاءِ آهن، نہ وري امتياز لاءِ. اڪثر خرابين جو سبب اِهو هوندو آهي جو ماڻهو اهڙي قسم جي فرق جي ڪري هڪ ٻئي جي وچ ۾ فرق ڪرڻ لڳندا آهن. ان مان اُهو اختلاف ۽ تعصب وجود ۾ ايندو آهي جيڪو ڪڏهن بہ ختم نہ ٿو ٿئي.

انسان پنهنجي آغاز جي لحاظ کان سڀ جا سڀ هڪ آهن. انهن ۾ امتياز جو بنياد صرف هي آهي تہ ڪير الله کان ڊڄڻ وارو آهي ۽ ڪير الله کان ڊڄڻ وارو نہ آهي ۽ ان جو بہ صحيح علم صرف الله کي آهي، نہ وري ڪنهن انسان کي.

قَالَتِ الْاَعْرَابُ اٰمَنَّا ؕ قُلْ لَّمْ تُؤْمِنُوْا وَ لٰكِنْ قُوْلُوْۤا اَسْلَمْنَا وَ لَمَّا يَدْخُلِ الْاِيْمَانُ فِيْ قُلُوْبِكُمْ ؕ وَ اِنْ تُطِيْعُوا اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ لَا يَلِتْكُمْ مِّنْ اَعْمَالِكُمْ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٤﴾ اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ ثُمَّ لَمْ يَرْتَابُوْا وَ جٰهَدُوْا

بِاَمْوَالِهِمْ وَ اَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الصّٰدِقُوْنَ ﴿۱۵﴾

ڳوناڻا چوندا آهن ته اسان ايمان آندو آهي. چئو ته توهان ايمان نه آندو آهي، بلڪ ايئن چئو ته اسان اسلام قبول ڪيو ۽ اڃا ايمان توهان جي دلين ۾ داخل نه ٿيو آهي ۽ جيڪڏهن توهان الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪندو ته الله توهان جي عملن مان ڪجهه به نه گهٽائيندو. بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي. مؤمن ته رڳو اُهي آهن جن الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آندو وري انهن شڪ نه ڪيو ۽ پنهنجي مال ۽ پنهنجي جان سان الله جي راهه ۾ جهاد ڪيو. اهي ئي سچا ماڻهو آهن. ١٤-١٥

مديني جي آسپاس ننڍا ننڍا قبيلا هئا. اهي ماڻهو هجرت کان بعد اسلام ۾ داخل ٿي ويا، پر سندن اسلام ڳهري ذهني انقلاب جو نتيجو نه هو. الله جي نظر ۾ اسلام تي ايمان آڻڻ وارو اهو آهي جيڪو اسلام کي هڪ اهڙي حقيقت طور لهي جو اسلام هن جي دل جي گهرائين ۾ داخل ٿي وڃي. جيڪي ماڻهو اهڙي طرح الله جي دين کي قبول ڪن ته اهي هڪ لازوال يقين کي حاصل ڪري وٺندا آهن. اهي قرباني جي حدتائين ان تي قائم رهڻ لاءِ تيار رهندا آهن.

ماڻهو ڪو سٺو ڪم ڪري ته هو ان جو اظهار ڪرڻ ضروري سمجهي ٿو. حالانڪ اهڙي قسم جو اظهار ان جي عمل کي باطل ڪري ٿو ڇڏي. سٺو عمل حقيقت ۾ اهو آهي جيڪو الله لاءِ ڪيو وڃي، پوءِ الله جڏهن خود هر ڳالهه کي ڄاڻي ٿو ته ان جي اعلان ۽ اظهار جي ڪهڙي ضرورت.

قُلْ اَتُعَلِّمُوْنَ اللّٰهَ بِدِيْنِكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَ اللّٰهُ بِكُلِّ
شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۱۶﴾ يَمُنُّوْنَ عَلَيْكَ اَنْ اَسْلَمُوْا ؕ قُلْ لَّا تَمُنُّوْا عَلَيَّ اِسْلَامَكُمْ ۚ بَلِ اللّٰهُ يَمُنُّ
عَلَيْكُمْ اَنْ هَدٰىكُمْ لِلْاِيْمَانِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۱۷﴾ اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ غَيْبَ السَّمٰوٰتِ وَ
ع ١٤ الْاَرْضِ ؕ وَ اللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۸﴾

چئو ته ڇا توهان الله کي پنهنجو دين ڄاڻايو ٿا، حالانڪ الله ڄاڻي ٿو ته جيڪو ڪجهه آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو ڪجهه زمين ۾ آهي ۽ الله هر شيءِ کان باخبر آهي. اهي ماڻهو توتي احسان رکندا آهن ته انهن اسلام قبول ڪيو آهي. چئو ته پنهنجي اسلام جو احسان مون تي نه رکو، بلڪ الله جو توهان تي احسان آهي جو هن توهان کي ايمان جي هدايت ڏني جيڪڏهن توهان سچا آهيو. بيشڪ الله آسمانن ۽ زمين جو ڳجهه ڄاڻندو آهي ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي. ١٦-١٨

ڪو شخص اسلام ۾ داخل ٿئي يا هو اسلام لاءِ ڪو ڪم انجام ڏي ته هن کي سمجهڻ کپي ته اهو الله جي مدد سان ٿيو آهي. ايمان ۽ عمل جو انحصار الله جي توفيق تي آهي. ان ڪري جڏهن به ڪنهن کي نيڪي جي توفيق ملي ته هو الله جو شڪر ادا ڪري.

ان جي بدران جيڪڏهن هو پنهنجي مذهبي ساٿين تي ان جو احسان جتائڻ لڳي ته ڄڻ هو ڇئي رهيو آهي ته اهو ڪم مون الله کي ڏيکارڻ لاءِ نه ڪيو هو، بلڪ انسانن کي ڏيکارڻ لاءِ ڪيو هو. الله هر شيءِ کان واقف آهي. جيڪو شخص الله جي لاءِ عمل ڪري، هن کي يقين رکڻ گهرجي ته هن جو الله هن جي عمل کي ٻڌائڻ جي بغير ڏسي رهيو آهي.

رکوعاتها ٣ (٥٠) سُوْرَةُ قٓ مَكِّيَّةٌ (٣٤) اٰياتها ٤٥

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

قٓ ۚ وَ الۡقُرۡاٰنِ الۡمَجِيۡدِ ۚ﴿۱﴾ بَلۡ عَجِبُوۡۤا اَنۡ جَآءَهُمۡ مُّنۡذِرٌ مِّنۡهُمۡ فَقَالَ الۡكٰفِرُوۡنَ هٰذَا
شَيۡءٌ عَجِيۡبٌ ۚ﴿۲﴾ ءَاِذَا مِتۡنَا وَ كُنَّا تُرَابًا ۚ ذٰلِكَ رَجۡعٌۢ بَعِيۡدٌ ﴿۳﴾ قَدۡ عَلِمۡنَا مَا تَنۡقُصُ
الۡاَرۡضُ مِنۡهُمۡ ۚ وَ عِنۡدَنَا كِتٰبٌ حَفِيۡظٌ ﴿۴﴾ بَلۡ كَذَّبُوۡا بِالۡحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمۡ فَهُمۡ فِيۡۤ اَمۡرٍ
مَّرِيۡجٍ ﴿۵﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

ق-قسم آهي عظمت واري قرآن جو بلڪ انهن کي تعجب ٿيو ته انهن وٽ انهن منجهان هڪ ڊيڄارڻ وارو آيو. پوءِ منڪرن چيو ته هي عجب ڳالهه آهي. ڇا جڏهن اسان مري وينداسون ۽ مٽي ٿي وينداسون. اهو پيهر جيئرو ٿيڻ تمام پري آهي اسان کي خبر آهي ته جيترو زمين انهن مان گهٽائيندي آهي ۽ اسان وٽ ڪتاب آهي جنهن ۾ سڀ ڪجهه محفوظ آهي، بلڪ انهن حق کي ڪوڙو ڄاتو. جڏهن اهو وٽن آيو. تنهن ڪري اهي مونجهاري ۾ آهن. ١-٥

پيغمبرن جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته سندن زماني جا ماڻهو انهن کي مڃڻ کان انڪار ڪندا هئا. البته انهن جي وڃڻ کان پوءِ بعد جي زماني ۾ ماڻهو آساني سان سندن پيغمبر واري حيثيت کي تسليم ڪري وٺندا آهن.

ان جو سبب اهو آهي ته پيغمبر پنهنجي زماني جي ماڻهن کي "پنهنجي برابر جو هڪ شخص" نظر ايندو آهي. اها ڳالهه کين تعجب ۾ وجهندي آهي ته جنهن شخص کي اُهي پنهنجي برابر سمجهندا هئا، اهو اچانڪ وڏو بڻجي کين نصيحت ڪرڻ لڳي، پر بعد جي زماني ۾ پيغمبر سان عظمتن جي هڪ تاريخ وابسته ٿي ويندي آهي. ان ڪري بعد ۾ اچڻ وارن ماڻهن کي اهو پيغمبر "پاڻ کان برتر شخص" ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اهوئي سبب آهي جو بعد جي زماني ۾ پيغمبر جي پيغمبر واري حيثيت کي مڃڻ ماڻهن لاءِ مشڪل نه ٿو ٿئي. ٻين لفظن ۾ ابتدائي دور جي ماڻهن جي سامهون پيغمبر هڪ اختلافي شخصيت جي روپ ۾ هوندو آهي ۽ بعد جي ماڻهن جي سامهون هڪ ثابت شده شخصيت جي روپ ۾. اول دور جي ماڻهن کي پنهنجي ۽ پيغمبر جي وچ ۾ جيڪو خلاء آهي، ان کي پرڻ لاءِ هڪ شعوري سفر طي ڪرڻو پئي ٿو. جڏهن ته بعد جي زماني ۾ اهو خلاء خود تاريخ پري ڇڏيندي آهي.

جيڪي ماڻهو پيغمبر جي پيغمبري تي شڪ ڪري رهيا هجن، انهن جي نظر ۾ پيغمبر جي هر ڳالهه مشڪوڪ ٿي ويندي آهي ۽ اها ڳالهه به جنهن جو عقيدو روايتي طورتي انهن وٽ موجود هوندو آهي. جيئن ته اهي ڳالهيون ماڻهن لاءِ عذر نه ٿيون بڻجي سگهن. پيغمبر کي نه مڃڻ وارا جيڪڏهن هن جي ڪتاب جي ناقابل تقليد ادبي عظمت تي غور ڪن ته هو ان ڪتاب جي آڻڻ واري کي الله جو پيغمبر مڃڻ تي مجبور ٿي وڃن.

اَفَلَمْ يَنْظُرُوْٓا اِلَى السَّمَآءِ فَوْقَهُمْ كَيْفَ بَنَيْنٰهَا وَ زَيَّنّٰهَا وَ مَا لَهَا مِنْ فُرُوْجٍ۝٦ وَ
الْاَرْضَ مَدَدْنٰهَا وَ اَلْقَيْنَا فِيْهَا رَوَاسِيَ وَ اَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ زَوْجٍۢ بَهِيْجٍ۝٧ تَبْصِرَةً وَّ
ذِكْرٰى لِكُلِّ عَبْدٍ مُّنِيْبٍ۝٨ وَ نَزَّلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً مُّبٰرَكًا فَاَنْۢبَتْنَا بِهٖ جَنّٰتٍ وَّ حَبَّ
الْحَصِيْدِ۝٩ وَ النَّخْلَ بٰسِقٰتٍ لَّهَا طَلْعٌ نَّضِيْدٌ۝١٠ رِّزْقًا لِّلْعِبَادِ ۙ وَ اَحْيَيْنَا بِهٖ بَلْدَةً مَّيْتًا ؕ
كَذٰلِكَ الْخُرُوْجُ۝١١

چا انهن ماڻهن پنهنجي مٿان آسمان کي نہ ڏٺو، اسان ڪيئن ان کي بڻايو ۽ ان کي سينگاريو ۽ ان ۾ ڪا بہ قوت نہ آهي ۽ زمين کي اسان وڇايو ۽ ان ۾ جبل وڌاسون ۽ ان ۾ هر قسم جون وڻندڙ شيون پيدا ڪيون سمجهائڻ لاءِ ۽ ياد ڏيارڻ لاءِ هر ان ٻانهي کي جيڪو رجوع ڪري ۽ اسان آسمان کان برڪت وارو پاڻي لاٿو. پوءِ ان سان اسان باغ پيدا ڪيا ۽ لڻڻ واري پوک ۽ ڪجين جا ڏگها وڻ جن جا گوشا تہ بہ تہ ٿيل آهن ٻانهن جي روزي لاءِ ۽ اسان ان جي ذريعي مرده زمين کي زنده ڪيو. اهڙي طرح (قبرن مان) نڪرڻ آهي. ٦-١١

---

ڪائنات جي معنويت، ان جي تخليقي حڪمت، ان جو هر قسم جي نقص کان خالي هجڻ، ان جو انساني ضرورتن جي عين مطابق هجڻ، اهي واقعا هر عقل واري کي غور ۽ فڪر تي مجبور ڪندا آهن ۽ جيڪو ماڻهو سنجيدگي سان ڪائنات جي نظام تي غور ڪري، اهو مخلوق جي اندر ان خالق کي لهندو. اهو دنيا ۾ آخرت جي جهلڪ ڏسي وٺندو. ڇاڪاڻ تہ آخرت جي دنيا اصل ۾ موجوده دنيا جو ٻيو روپ آهي.

كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّ اَصْحٰبُ الرَّسِّ وَ ثَمُوْدُ۝١٢ وَ عَادٌ وَّ فِرْعَوْنُ وَ اِخْوَانُ لُوْطٍ۝١٣
وَّ اَصْحٰبُ الْاَيْكَةِ وَ قَوْمُ تُبَّعٍ ؕ كُلٌّ كَذَّبَ الرُّسُلَ فَحَقَّ وَعِيْدِ۝١٤ اَفَعَيِيْنَا بِالْخَلْقِ
ع ١٥ الْاَوَّلِ ؕ بَلْ هُمْ فِيْ لَبْسٍ مِّنْ خَلْقٍ جَدِيْدٍ۝١٥

انهن کان اڳ ۾ نوح جي قوم ۽ اصحاب الرس ۽ ثمود ۽ عاد ۽ فرعون ۽ لوط جي ڀائرن ۽ ايڪ وارن ۽ تبع جي قوم. هر هڪ پيغمبرن کي ڪوڙو ڄاتو، پوءِ مٿن منهنجو ڊيڄارڻ (عذاب) لازم ٿيو. ڇا اسان پهرين ڀيري پيدا ڪرڻ ۾ ٿڪا آهيون (نہ) بلڪ اهي ماڻهو نئين سر پيدا ٿيڻ کان شڪ ۾ آهن. ١٢-١٥

---

قرآن تاريخ جو جيڪو تصور پيش ڪيو آهي، ان جي مطابق هتي بار بار ائين ٿيو آهي جو پيغمبرن جي انڪار جي نتيجي ۾ سندن مخاطب قومن کي هلاڪ ڪيو ويو. هتي انهن هلاڪ ٿيل قومن مان ڪجهہ قومن جو ذڪر مثال طور ڏنو ويو آهي. قومن جي اها هلاڪت اصل ۾ آخرت جو هڪ حصو آهي. حق جي منڪرن لاءِ جيڪو عذاب آخرت ۾ مقدر آهي، ان جو هڪ حصو هن ئي دنيا ۾ ڏيکاريو ويندو آهي.

دنيا جي پهرين تخليق ان جي ٻي تخليق جي امڪان کي ثابت ڪري رهي آهي. جيڪڏهن ماڻهو سنجيده هجي تہ آخرت کي مڃڻ لاءِ ان کان پوءِ هن کي ڪنهن ٻئي دليل جي ضرورت نہ آهي.

وَ لَقَدۡ خَلَقۡنَا الۡاِنۡسَانَ وَ نَعۡلَمُ مَا تُوَسۡوِسُ بِهٖ نَفۡسُهٗ ۚۖ وَ نَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ
الۡوَرِيۡدِ ﴿١٦﴾ اِذۡ يَتَلَقَّى الۡمُتَلَقِّيٰنِ عَنِ الۡيَمِيۡنِ وَ عَنِ الشِّمَالِ قَعِيۡدٌ ﴿١٧﴾ مَا يَلۡفِظُ مِنۡ قَوۡلٍ
اِلَّا لَدَيۡهِ رَقِيۡبٌ عَتِيۡدٌ ﴿١٨﴾

۽ اسان انسان کي پيدا ڪيو ۽ اسان ڄاڻون ٿا انهن ڳالهين کي جيڪي ان جي دل ۾ ايندڙيون آهن ۽ اسان سندس ساهه جي رڳ کان وڌيڪ ويجها آهيون. جڏهن (ته) ٻه لکندڙ (هڪ) ساڄي پاسي کان ۽ (هڪ) کاٻي پاسي کان ويهندڙ آهن. ڪابه ڳالهه نه ڳالهائيندو آهي، پر ان وٽ هڪ نگهبان موجود آهي. ١٦-١٨

دنيا جو مطالعو ٻڌائي ٿو ته هتي ”ريڪارڊنگ“ جو خطا کان پاڪ نظام موجود آهي. انسان جي سوچ ان جي ذهن جي پردي تي هميشه لاءِ نقش ٿي رهي ٿي. انسان جي هر ڳالهه هوا جي لهرن جي صورت ۾ مستقل طور باقي رهي ٿي. انسان جو عمل حرارت جي لهرن ذريعي ٻاهرين دنيا ۾ اهڙي طرح محفوظ ٿي ويندو آهي جو ان کي ڪنهن به وقت رڪارڊ وانگر دهرائي سگهجي ٿو. اهي سڀ اڄ جون مڃيل حقيقتون آهن ۽ اهي مڃيل حقيقتون قرآن جي ان خبر کي قابل فهم بڻائي رهيون آهن ته انسان جي نيت، ان جو قول ۽ ان جو عمل سڀ ڪجهه خالق جي علم ۾ آهي. انسان جي هر شيءِ فرشتن جي رجسٽر ۾ درج ڪئي پئي وڃي.

وَ جَآءَتۡ سَكۡرَةُ الۡمَوۡتِ بِالۡحَقِّ ؕ ذٰلِكَ مَا كُنۡتَ مِنۡهُ تَحِيۡدُ ﴿١٩﴾ وَ نُفِخَ فِي الصُّوۡرِ ؕ ذٰلِكَ
يَوۡمُ الۡوَعِيۡدِ ﴿٢٠﴾ وَ جَآءَتۡ كُلُّ نَفۡسٍ مَّعَهَا سَآئِقٌ وَّ شَهِيۡدٌ ﴿٢١﴾ لَقَدۡ كُنۡتَ فِيۡ غَفۡلَةٍ مِّنۡ
هٰذَا فَكَشَفۡنَا عَنۡكَ غِطَآءَكَ فَبَصَرُكَ الۡيَوۡمَ حَدِيۡدٌ ﴿٢٢﴾ وَ قَالَ قَرِيۡنُهٗ هٰذَا مَا لَدَيَّ
عَتِيۡدٌ ﴿٢٣﴾ؕ اَلۡقِيَا فِيۡ جَهَنَّمَ كُلَّ كَفَّارٍ عَنِيۡدٍ ﴿٢٤﴾ۙ مَّنَّاعٍ لِّلۡخَيۡرِ مُعۡتَدٍ مُّرِيۡبٍ ﴿٢٥﴾ۙ الَّذِيۡ جَعَلَ
مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَاَلۡقِيٰهُ فِي الۡعَذَابِ الشَّدِيۡدِ ﴿٢٦﴾ قَالَ قَرِيۡنُهٗ رَبَّنَا مَاۤ اَطۡغَيۡتُهٗ وَ لٰكِنۡ
كَانَ فِيۡ ضَلٰلٍۭ بَعِيۡدٍ ﴿٢٧﴾ قَالَ لَا تَخۡتَصِمُوۡا لَدَيَّ وَ قَدۡ قَدَّمۡتُ اِلَيۡكُمۡ بِالۡوَعِيۡدِ ﴿٢٨﴾ مَا
يُبَدَّلُ الۡقَوۡلُ لَدَيَّ وَ مَاۤ اَنَا بِظَلَّامٍ لِّلۡعَبِيۡدِ ﴿٢٩﴾ ع ٤ ١٦

۽ موت جي سختي برحق اچي وئي، هي اهائي شيءِ آهي جنهن کان تون ڀڄندو هئين ۽ صور ڦوڪيو ويندو. اهو ڊيڄارڻ جو ڏينهن هوندو. هر شخص اهڙي طرح ايندو جو ان سان گڏ هڪ هڪليندڙ هوندو ۽ هڪ شاهدي ڏيڻ وارو. تون ان ڏينهن کان غفلت ۾ هئين. هاڻي اسان تو کان تنهنجو پردو هٽايو آهي، تنهن ڪري اڄ تنهنجي نگاهه تيز آهي ۽ سندس سنگتي فرشتو چوندو ته جيڪو مون وٽ (لکيل) آهي سو حاضر آهي. جهنم ۾ وجهو ناشڪر مخالف کي، نيڪي کان جهلڻ وارو، حد کان لنگهندڙ ۽ شڪ ۾ وجهڻ وارو. جنهن الله سان گڏ ٻيا معبود بڻايا، سو ان کي وجهو سخت عذاب ۾. سندس سنگتي شيطان چوندو اي اسان جا رب! مون ان کي سرڪش نه بڻايو هو، بلڪ هو خود گمراهيءَ ۾ پري وڃي پيو هو. ارشاد ٿيندو مون وٽ جهڳڙو نه ڪريو. مون اڳ ۾ ئي توهان کي عذاب کان ڊيڄاريو هو. مون وٽ ڳالهه نه بدلائبي آهي ۽ نه آئون ٻانهن تي ظلم ڪرڻ وارو آهيان. ١٩-٢٩

مٿين آيتن ۾ موت ۽ ان کان بعد قيامت جو منظر بيان ڪيو ويو آهي. ٻڌايو ويو آهي تہ اتي انهن ماڻهن سان ڇا ٿيندو جيڪي موجوده امتحان جي دنيا ۾ پاڻ کي آزاد ڏسي سرڪش بڻجي ويا هئا. حقيقت هي آهي تہ اها منظرڪشي ايتري خوفناڪ آهي جو زنده ماڻهو کي تڙپائي ڇڏڻ لاءِ ڪافي آهي.

يَوْمَ نَقُوْلُ لِجَهَنَّمَ هَلِ امْتَلَأْتِ وَ تَقُوْلُ هَلْ مِنْ مَّزِيْدٍ ﴿٣٠﴾ وَ اُزْلِفَتِ الْجَنَّةُ لِلْمُتَّقِيْنَ غَيْرَ بَعِيْدٍ ﴿٣١﴾ هٰذَا مَا تُوْعَدُوْنَ لِكُلِّ اَوَّابٍ حَفِيْظٍ ﴿٣٢﴾ مَنْ خَشِيَ الرَّحْمٰنَ بِالْغَيْبِ وَ جَآءَ بِقَلْبٍ مُّنِيْبِ ﴿٣٣﴾ اِدْخُلُوْهَا بِسَلٰمٍ ؕ ذٰلِكَ يَوْمُ الْخُلُوْدِ ﴿٣٤﴾ لَهُمْ مَّا يَشَآءُوْنَ فِيْهَا وَ لَدَيْنَا مَزِيْدٌ ﴿٣٥﴾

جنهن ڏينهن اسان جهنم کي چونداسون ڇا تون ڀرجي وئين ۽ اها چوندي ڇا ڪجھ وڌيڪ آهي ۽ جنت ڊڄڻ وارن لاءِ ويجهي ڪئي ويندي. ڪجھ پري نہ هوندي. اها آهي اُها شيءِ جنهن جو توهان سان واعدو ڪيو ويو هو هر رجوع ڪرڻ واري ۽ ياد رکڻ واري لاءِ. جيڪو شخص رحمان کان پرپٺ ڊنو ۽ رجوع ڪندڙ دل سان آيو داخل ٿي وڃ ان ۾ سلامتي سان اهو سدائين رهڻ جو ڏينهن آهي. اتي انهن لاءِ اهو سڀ ڪجھ هوندو جيڪي اُهي چاهين ۽ اسان وٽ وڌيڪ بہ آهي. ٣٠-٣٥

---

الله جي ابدي جنت جا مستحق ڪير ماڻهو آهن. هي اهي ماڻهو آهن جيڪي دنيا ۾ الله جي عذاب کان ڊڄندا رهيا. جيڪي ماڻهو پرپٺ ڊنا اُهي ماڻهو ان ڏينهن ڊپ ۽ غم کان محفوظ رهندا. جڏهن ڊپ ماڻهن جي اکين جي سامهون اچي ويندو. الله جو خوف ماڻهو ۾ جنت وارين صفتون پيدا ڪندو آهي ۽ الله کان بي خوفي جهنم وارين صفتون.

وَ كَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنْ قَرْنٍ هُمْ اَشَدُّ مِنْهُمْ بَطْشًا فَنَقَّبُوْا فِي الْبِلَادِ ؕ هَلْ مِنْ مَّحِيْصٍ ﴿٣٦﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَذِكْرٰى لِمَنْ كَانَ لَهٗ قَلْبٌ اَوْ اَلْقَى السَّمْعَ وَ هُوَ شَهِيْدٌ ﴿٣٧﴾

۽ اسان انهن کان اڳ ڪيترين ئي قومن کي هلاڪ ڪيو. اهي قوت ۾ انهن کان وڌيڪ هئا. پوءِ انهن شهرن ۾ گهٽي ڳولا ڪئي تہ ڪا بچڻ جي واهہ آهي. انهيءَ ڳالهہ ۾ نصيحت آهي ان ماڻهو لاءِ جنهن وٽ دل هجي يا هو ڪن ڏئي توجهہ ڪري. ٣٦-٣٧

---

قومون ترقي ڪنديون آهن ۽ عروج تي پهچي وينديون آهن. پر جڏهن اهي پنهنجن بدعملن جي نتيجي ۾ الله جي پڪڙ ۾ اينديون آهن تہ سندن حال اهو هوندو آهي جو زمين ۾ ڪٿي بہ ڪا جاءِ نہ هوندي آهي، جتي اهي ڀڄي پناهہ وٺي سگهن. تاريخ جي انهن واقعن ۾ وڏي نصيحت آهي. پر نصيحت اهو ماڻهو وٺندو جنهن ۾ يا تہ سوچڻ جي صلاحيت زنده هجي يا هو خود واقعن جي خاموش پيغام کي سمجهي سگهي يا ان ۾ ٻڌڻ جي صلاحيت زندهہ هجي تہ جڏهن ان کي ٻڌايو وڃي تہ هو ان کي گهرائي سان سمجهي وڃي.

وَ لَقَدْ خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ وَ مَا بَيْنَهُمَا فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ۖۗ وَّ مَا مَسَّنَا مِنْ لُّغُوْبٍ ﴿٣٨﴾
فَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَ سَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ قَبْلَ طُلُوْعِ الشَّمْسِ وَ قَبْلَ الْغُرُوْبِ ﴿٣٩﴾ وَ

مِنَ الَّيۡلِ فَسَبِّحۡهُ وَ اَدۡبَارَ السُّجُوۡدِ ﴿٤٠﴾

۽ اسان آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪو ڪجهه انهن جي وچ ۾ آهي، ڇهن ڏينهن ۾ بڻايو ۽ اسان کي ڪو ٿڪ نه ٿيو. پوءِ جيڪي ڪجهه اُهي چوندا آهن، ان تي صبر ڪر ۽ پنهنجي رب جي ساراهه سان پاڪائي بيان ڪر سج اڀرڻ کان اڳ ۾ ان جي لهڻ کان اڳ ۽ رات جو به سندس پاڪائي بيان ڪر سجدن کان پوءِ. ٣٨-٤٠

---

زمين ۽ آسمان کي ڇهن ڏينهن، يعني لفظن ۾ ڇهن دورن ۾ پيدا ڪرڻ ٻڌائي ٿو ته الله جو طريقو تدريجي عمل جو طريقو آهي ۽ جڏهن الله سڀني طاقتن جو مالڪ هئڻ جي باوجود واقعن کي آهستي آهستي تدريج سان ڊگهي عرصي ۾ ظهور ۾ آڻي ٿو ته انسان کي به گهرجي ته هو تڪڙ کان بچي. هو صبر سان عمل ڪندي نتيجي تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪري.

دعوت جو عمل شروع کان آخر تائين صبر جو عمل آهي. ان ۾ ماڻهن طرفان پيش اچڻ وارن ايذائن کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو ۽ ان جو نتيجو نه ڏسڻ ۾ اچڻ جي باوجود پنهنجي عمل کي جاري رکڻ هوندو آهي. ان صبر سان عمل تي اهو ئي ماڻهو قائم رهي سگهي ٿو جنهن جا صبح ۽ شام ذڪر ۽ عبادت ۾ گذرندا هجن، جنهن کي انسان کان ڪجهه نه ملڻ جي باوجود الله کان ملي رهيو هجي. جيڪو سڀ ڪجهه وڃائي به احساس محرومي جو شڪار نه ٿئي.

”اسان کي ٿڪ نه ٿيو“. اهو هڪ ذيلي فقرو آهي. موجوده تحريف ٿيل بائيبل ۾ آهي ته الله ڇهن ڏينهن ۾ آسمان ۽ زمين کي پيدا ڪيو ۽ ستين ڏينهن آرام ڪيائين. اهو جملو ان ڳالهه جي ترديد آهي، آرام اهو ڪري ٿو جيڪو ٿڪجي وڃي. الله کي ٿڪ نه ٿو ٿئي ان ڪري هن کي آرام جي ضرورت به نه آهي.

وَ اسۡتَمِعۡ يَوۡمَ يُنَادِ الۡمُنَادِ مِنۡ مَّكَانٍ قَرِيۡبٍ ﴿٤١﴾ يَّوۡمَ يَسۡمَعُوۡنَ الصَّيۡحَةَ بِالۡحَقِّ ؕ ذٰلِكَ يَوۡمُ الۡخُرُوۡجِ ﴿٤٢﴾ اِنَّا نَحۡنُ نُحۡيٖ وَ نُمِيۡتُ وَ اِلَيۡنَا الۡمَصِيۡرُ ﴿٤٣﴾ يَوۡمَ تَشَقَّقُ الۡاَرۡضُ عَنۡهُمۡ سِرَاعًا ؕ ذٰلِكَ حَشۡرٌ عَلَيۡنَا يَسِيۡرٌ ﴿٤٤﴾

۽ (ڪن) ڏئي ٻڌ ته جنهن ڏينهن سڏڻ وارو تمام ويجهي هنڌ کان سڏيندو. جنهن ڏينهن ماڻهو سچ پچ سخت هڪل کي ٻڌندا، اهو (قبرن مان) نڪرڻ جو ڏينهن آهي. بيشڪ اسان ئي جيئاريندا آهيون ۽ اسان ئي ماريندا آهيون ۽ اسان ڏانهن ئي موٽڻ آهي. جنهن ڏينهن زمين ڦاٽي پوندي ماڻهو نڪري ڀڄڻ لڳندا. اهو گڏ ڪرڻ اسان لاءِ آسان آهي. ٤١-٤٤

---

قيامت جي ڪا تاريخ مقرر نه آهي. ڪنهن به وقت الله تعاليٰ جو حڪم ٿيندو ۽ اسرافيل ڦوڪ هڻي ان جي اچانڪ آمد جي اطلاع ڏيندو.

جيڪي ماڻهو الله کان غافل آهن، اهي قيامت کي پري جي شيءِ سمجهندا آهن، پر جيڪو سچو مؤمن آهي اهو هر گهڙي ان انديشي ۾ رهي ٿو ته ڪڏهن صور ڦوڪيو وڃي ۽ ڪڏهن قيامت اچي وڃي، صور ڦوڪجڻ کان پوءِ زمين ۽ آسمان جو نقشو بدلجي ويندو ۽ سڀئي ماڻهو هڪ نئين دنيا ۾ جمع ڪيا ويندا، ته جيئن پنهنجي پنهنجي عمل جي مطابق پنهنجو ابدي انجام لهن.

نَحۡنُ اَعۡلَمُ بِمَا يَقُوۡلُوۡنَ وَ مَاۤ اَنۡتَ عَلَيۡهِمۡ بِجَبَّارٍ ۟ فَذَكِّرۡ بِالۡقُرۡاٰنِ مَنۡ يَّخَافُ
ع ٣ ١٦ ١٧ وَعِيۡدِ ۝٤٥

اسان چاڻون ٿا جيڪو ڪجھ اهي ماڻھو چئي رهيا آهن ۽ تون مٿن ڏاڍ ڪرڻ وارو نہ آهين. پوءِ تون قرآن ذريعي ان ماڻھو کي نصيحت ڪر جيڪو منھنجي ڊيڄارڻ کان ڊڄي. ٤٥

قرآن ۾ بار بار رسول اللهﷺ جي باري ۾ ارشاد ٿيو آهي تہ تنهنجو ڪم رڳو پهچائي ڇڏڻ آهي. تنهنجو ڪم ماڻهن کي تبديل ڪرڻ نہ آهي، ٻئي پاسي قرآن ۾ هڪ کان وڌيڪ مقام تي اهو ارشاد بہ آهي تہ الله تنهنجي ذريعي دين حق کي سيني دينن تي غالب ڪندو.

اهي بہ ڳالهيون اصل ۾ پيغمبر اسلام جي بہ مختلف حيثيتن جي لحاظ کان آهن. پاڻﷺ هڪ لحاظ کان ”رسول الله “ هئا. ٻئي لحاظ کان پاڻﷺ خاتم النبيين هئا. رسول الله هئڻ جي حيثيت جي ڪري پاڻﷺ جو ڪم اهو ئي هو جيڪو سيني پيغمبرن جو هو. يعني حق کي ماڻهن تائين پوري طرح پهچائي ڇڏڻ. پر خاتم النبيين هئڻ جي حيثيت سان الله تعاليٰ کي هي بہ گھربل هو تہ پاڻﷺ جي ذريعي اهي اسباب پيدا ڪيا وڃن جيڪي هدايت الاهي کي مستقل طور تي محفوظ ڪري ڇڏين تہ جيئن ٻيهر پيغمبر موڪلڻ جي ضرورت پيش نہ اچي. پاڻﷺ جي اها ٻي حيثيت جو تقاضو هو تہ پاڻﷺ جي ذريعي اهو انقلاب آندو وڃي جيڪو شرڪ جي غلبي کي ختم ڪري ڇڏي ۽ اسلام کي هڪ اهڙي غالب قوت جي حيثيت سان قائم ڪري سگھي، جيڪا هميشہ لاءِ هدايت الاهي (قرآن) جي حفاظت جي ضمانت بڻجي وڃي.

اٰياتها ٦٠ (٥١) سُوۡرَةُ الذّٰرِيٰتِ مَكِّيَّةٌ (٦٧) رکوعاتها ٣

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

وَ الذّٰرِيٰتِ ذَرۡوًا ۝١ فَالۡحٰمِلٰتِ وِقۡرًا ۝٢ فَالۡجٰرِيٰتِ يُسۡرًا ۝٣ فَالۡمُقَسِّمٰتِ اَمۡرًا ۝٤ اِنَّمَا
تُوۡعَدُوۡنَ لَصَادِقٌ ۝٥ وَّ اِنَّ الدِّيۡنَ لَوَاقِعٌ ۝٦ وَ السَّمَآءِ ذَاتِ الۡحُبُكِ ۝٧ اِنَّكُمۡ لَفِىۡ قَوۡلٍ
مُّخۡتَلِفٍ ۝٨ يُّؤۡفَكُ عَنۡهُ مَنۡ اُفِكَ ۝٩

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

قسم آهي هوائن جو جيڪي مٽي کي اڏائڻ واريون آهن. پوءِ اهي بار (ڪڪر) کڻنديون آهن. پوءِ اهي آهستي هلنديون آهن. پوءِ ورهائڻ واريون حڪم سان. بيشڪ اوهان سان جيڪو وعدو ڪجي ٿو اهو سچ آهي. بيشڪ انصاف ضرور ٿيڻو آهي. قسم آهي چار واري آسمان جو، بيشڪ توهان هڪ اختلاف ۾ پيل آهيو. هن (قرآن) کان اهوئي ڦرندو آهي جيڪو ڦيرايل آهي. ١-٩

هتي مينهن جي عمل جي تصوير پيش ڪئي وئي آهي. شروع ۾ تيز هوائون هلنديون آهن، پوءِ

مختلف مرحلن مان گذري اُهي ڪڪرن کي هلائيندڙيون آهن ۽ پوءِ اهي ڪنهن جماعت تي رحمت جو مينهن وسائيندڙيون آهن ۽ ڪنهن جماعت تي سيلاب جي صورت ۾ تباهي آڻيندڙيون آهن.

اهو واقعو ٻڌائي ٿو ته الله جي هن دنيا ۾ ”تقسيم امر“ جو قانون آهي. هتي ڪنهن کي گهٽ ملي ٿو ۽ ڪنهن کي وڌيڪ. ڪنهن کي ڏنو وڃي ٿو ۽ ڪنهن کان کسي ورتو وڃي ٿو. اهو هڪ اشارو آهي جيڪو ٻڌائي ٿو ته موت کان پوءِ اچڻ واري دنيا ۾ انسان سان ڪهڙو معاملو پيش اچڻ وارو آهي. اتي تقسيم امر جو اِهو اصول پنهنجي ڪامل صورت ۾ نافذ ٿيندو. هر هڪ کي انصاف سان اهو ئي ملندو جيڪو ان کي ملڻ گهرجي ۽ اهو نه ملندو جنهن کي حاصل ڪرڻ جو هو مستحق نه هو.

آسمان ۾ بيشمار ستارا آهن، اهي سڀئي پنهنجي پنهنجي مدار ۾ چڪر ڏئي رهيا آهن. جيڪڏهن انهن جي تصوير ٺاهي وڃي ته اُها ڪنهن ڄار وانگر هوندي، ان قسم جو حيرت انگيز نظام پنهنجي اندر گهري معنيٰ جو اشارو ڪري ٿو. جيڪي ماڻهو پنهنجي عقل کي استعمال ڪن، اُهي اُن سان سبق لهندا ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجي عقل کي استعمال نه ڪن ته انهن لاءِ ان ۾ ڪو به سبق نه آهي.

قُتِلَ الْخَرّٰصُوْنَ ﴿١٠﴾ الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ غَمْرَةٍ سَاهُوْنَ ﴿١١﴾ يَسْـَٔلُوْنَ اَيَّانَ يَوْمُ الدِّيْنِ ﴿١٢﴾ يَوْمَ هُمْ عَلَى النَّارِ يُفْتَنُوْنَ ﴿١٣﴾ ذُوْقُوْا فِتْنَتَكُمْ ؕ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿١٤﴾ اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّ عُيُوْنٍ ﴿١٥﴾ اٰخِذِيْنَ مَاۤ اٰتٰىهُمْ رَبُّهُمْ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَبْلَ ذٰلِكَ مُحْسِنِيْنَ ﴿١٦﴾ كَانُوْا قَلِيْلًا مِّنَ الَّيْلِ مَا يَهْجَعُوْنَ ﴿١٧﴾ وَ بِالْاَسْحَارِ هُمْ يَسْتَغْفِرُوْنَ ﴿١٨﴾ وَ فِيْۤ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ لِّلسَّآئِلِ وَ الْمَحْرُوْمِ ﴿١٩﴾

اٽڪل سان ڳالهيون ڪرڻ وارا مارجي ويا. جيڪي غفلت ۾ وساري ويٺا آهن. اهي پڇندا آهن ته بدلي جو ڏينهن ڪڏهن ٿيندو. جنهن ڏينهن اهي باهه تي رکيا ويندا. چکو مزو پنهنجي شرارت جو هي آهي اها شيءِ جنهن کي اوهين جلد گهرندا هئا. بيشڪ ڊڄڻ وارا باغن ۾ چشمن ۾ هوندا، وٺي رهيا هوندا جيڪو ڪجهه سندن رب کين ڏنو. اهي ان کان اڳ ۾ چڱائي ڪرڻ وارا هئا. اهي راتين جو ٿورو سمهندا هئا ۽ صبح جي وقتن ۾ بخشش گهرندا هئا ۽ سندن مال ۾ سوال ڪندڙ ۽ محتاج جو حصو هو. ١٠-١٩

---

ڪنهن ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ سڀني کان ضروري شرط سنجيدگي آهي. جيڪي ماڻهو هڪ ڳالهه جي معاملي ۾ سنجيده نه هجن، اهي ان جي دليلن تي ڌيان نه ٿا ڏين، ان ڪري ان کي سمجهي به نه ٿا سگهن. اهي ان جو مذاق اڏاري اهو ظاهر ڪندا آهن ته اها ان قابل ئي نه آهي جو ان کي سنجيده غور فڪر جو موضوع سمجهيو وڃي. اهڙن ماڻهن کي ميڙائڻ ڪهڙي طرح به ممڪن نه آهي. اهي رڳو ان وقت مڃيندا جڏهن سندن غلط رويو هڪ اهڙو عذاب بڻجي سندن مٿان ٽٽي پوندو، جنهن مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ڪنهن به طرح ممڪن نه هوندو.

سنجيده ماڻهن جو معاملو ان کان بلڪل مختلف هوندو آهي. سندن سنجيدگي کين محتاط بڻائي ڇڏيندي آهي. انهن مان سرڪشي جو مزاج ختم ٿي ويندو آهي. سندن حساسيت کين راتين جو

بيدار رهڻ تي مجبور ڪري ٿي. سندن وقت الله جي ياد ۾ گذرڻ لڳندو آهي. اهي پنهنجي مال کي پنهنجي محنت جو نتيجو نہ ٿا سمجهن، بلڪ ان کي الله جو عطيو سمجهندا آهن. اهوئي سبب آهي جو اهي ان ۾ ٻين جو حق بہ سمجهندا آهن, جهڙي طرح ان ۾ پنهنجو حق سمجهندا آهن.

وَ فِي الْاَرْضِ اٰيٰتٌ لِّلْمُوْقِنِيْنَ ﴿٢٠﴾ وَ فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ ؕ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ ﴿٢١﴾ وَ فِي السَّمَآءِ رِزْقُكُمْ
ع ١٣ / ١٨ وَ مَا تُوْعَدُوْنَ ﴿٢٢﴾ فَوَرَبِّ السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ اِنَّهٗ لَحَقٌّ مِّثْلَ مَآ اَنَّكُمْ تَنْطِقُوْنَ ﴿٢٣﴾

۽ زمين ۾ نشانيون آهن يقين ڪرڻ وارن لاءِ ۽ خود توهان جي اندر بہ. ڇا توهان ڏسو نہ ٿا ۽ آسمان ۾ توهان جي روزي آهي ۽ اها شيءِ بہ جنهن جو توهان کي واعدو ڏجي ٿو. پوءِ آسمان ۽ زمين جي رب جو قسم اها خبر سچي آهي. جهڙي طرح توهان ڳالهائيندا آهيو. ٢٠-٢٣

---

الله تعاليٰ دنيا کي اهڙي طرح ٺاهيو آهي جو موجوده دنيا پوءِ اچڻ واري نامعلوم دنيا جي نشاني بڻجي وئي آهي. زمين ۾ پکڙيل مادي واقعا ۽ انسان جي اندر لڪيل احساس ٻئي بلواسطہ انداز ۾ ان واقعي جي اڳواٽ خبر ڏئي رهيا آهن، جيڪو موت کان پوءِ براهہ راست انسان جي سامهون اچڻ وارو آهي. انهن نشانين مان هڪ نشاني انسان جو ڳالهائڻ آهي.

حديث ۾ ارشاد آهي تہ آخرت ۾ جيڪو ڪجهہ ملندو، اُهي خود ماڻهو جا پنهنجا عمل هوندا، جيڪي ان ڏانهن موٽايا ويندا. (انما هي اعمالکم ترد عليکم). ڇڻ آخرت جي دنيا موجوده دنيا ئي جو ٻيو عڪس آهي. ماڻهو جو ڳالهائڻ ان ئي امڪان جو هڪ جزئي مظاهرو آهي. ماڻهو جي آواز ٽيپ تي رڪارڊ ڪئي وڃي ۽ پوءِ ٽيپ کي هلايو وڃي تہ بلڪل اهائي آواز اهڙي طرح ان مان نڪرندي جيڪا انسان جي آواز هئي. ٽيپ جي آواز انسان جي اصل آواز جو عڪس آهي. اهڙي طرح آواز جزوي سطح تي ان واقعي جو تجربو ڪرائي رهيو آهي، جيڪو مڪمل طور تي آخرت ۾ ظاهر ٿيڻ وارو آهي.

”اها يقيني آهي توهان جي ڳالهائڻ جي وانگر“. يعني جڏهن توهان جي ڳالهائڻ کي دهرائڻ ممڪن آهي تہ مرڻ کان پوءِ توهان جي وجود کي ٻيهر دهرائڻ ڇو ممڪن نہ آهي.

انساني هستي جو هڪ جز (آواز) ڪامل طور دهرائڻ جو مشاهدو هن ئي دنيا ۾ ٿي رهيو آهي، ان تي قياس ڪري سگهجي ٿو تہ انسان جي سڄي هستي کي بہ وري دهرائي سگهجي ٿو.

وقف لازم هَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ ضَيْفِ اِبْرٰهِيْمَ الْمُكْرَمِيْنَ ﴿٢٤﴾ اِذْ دَخَلُوْا عَلَيْهِ فَقَالُوْا سَلٰمًا ؕ قَالَ
سَلٰمٌ ۚ قَوْمٌ مُّنْكَرُوْنَ ﴿٢٥﴾ فَرَاغَ اِلٰٓى اَهْلِهٖ فَجَآءَ بِعِجْلٍ سَمِيْنٍ ﴿٢٦﴾ فَقَرَّبَهٗٓ اِلَيْهِمْ قَالَ اَلَا
تَاْكُلُوْنَ ﴿٢٧﴾ فَاَوْجَسَ مِنْهُمْ خِيْفَةً ؕ قَالُوْا لَا تَخَفْ ؕ وَ بَشَّرُوْهُ بِغُلٰمٍ عَلِيْمٍ ﴿٢٨﴾ فَاَقْبَلَتِ
امْرَاَتُهٗ فِيْ صَرَّةٍ فَصَكَّتْ وَجْهَهَا وَ قَالَتْ عَجُوْزٌ عَقِيْمٌ ﴿٢٩﴾ قَالُوْا كَذٰلِكِ ۙ قَالَ رَبُّكِ ؕ اِنَّهٗ
هُوَ الْحَكِيْمُ الْعَلِيْمُ ﴿٣٠﴾

ڇا توکي ابراهيم جي سڳورن مهمانن جي خبر پهتي. جڏهن اُهي هن وٽ آيا. پوءِ ڪيس سلام ڪيائون. هن چيو توهان کي بہ سلام آهي. هي ڪي اوپرا ماڻهو آهن. پوءِ هو پنهنجن گهروارن ڏانهن ويو ۽ هڪ ٿلهو ڳابو (پچائي) آندائين. پوءِ اُهو انهن کي ويجهو ڪيائين. هن چيو توهان ڇو نہ ٿا کائو. پوءِ دل ۾ انهن کان ڊپ ڪيائين. انهن چيو تہ نہ ڊڄ ۽ ان کي هڪ داناءُ نينگر جي بشارت ڏنائون. پوءِ سندس زال ڳالهائيندي آئي پوءِ پنهنجو هٿ پيشاني تي هنيائين ۽ چوڻ لڳي تہ ڪراڙي ٻيو سنڍ. انهن چيو تنهنجي رب ايئن ئي فرمايو آهي. بيشڪ اُهو حڪمت وارو ڄاڻيندڙ آهي. ٢٤-٣٠

---

هنن آيتن ۾ ان منظر جو بيان آهي جڏهن حضرت ابراهيمؑ وٽ الله جا فرشتا آيا، تہ جيئن انهيءَ کي پيري ۾ اولاد جي بشارت ڏين. حضرت ابراهيمؑ قديم عراق ۾ پيدا ٿيا هئا. اُهي ڏگهي عرصي تائين پنهنجي قوم کي توحيد ۽ آخرت جو پيغام ڏيندا رهيا، پر پاڻؑ جي زال ۽ پاڻؑ جي هڪ ڀائٽي کان سواءِ ڪو بہ ماڻهو پاڻؑ جي ڳالھ مڃڻ لاءِ تيار نہ ٿيو. ايستائين جو پاڻؑ پيري جي عمر کي پهچي ويا.

هاڻي پاڻؑ جي مشن کي باقي رکڻ لاءِ ٻئي صورت رڳو اها هئي جو پاڻؑ وٽ اولاد پيدا ٿئي ۽ پاڻؑ هن کي تربيت ڏئي تيار ڪن. پيءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ رت جو رشتو هوندو آهي، اهو تعلق هڪ اضافي قوت بڻجي ويندو آهي. جيڪو پٽ کي پنهنجي پيءُ سان هرحال ۾ جوڙي رکي ۽ هن کي سندس هم خيال بڻائي.

الله تعاليٰ حضرت ابراهيمؑ کي پيري ۾ بہ نينگر عطا ڪيا. هڪ حضرت اسحاقؑ جن جي ذريعي بني اسرائيل ۾ توحيد جي دعوت جو تسلسل جاري رهيو. ٻيو حضرت اسماعيلؑ جنهن جي ذريعي عرب جي رڻ ۾ هڪ اهڙي نسل تيار ڪرڻ جو ڪم ورتو ويو جيڪا پيغمبر آخرالزمانﷺ جو ساٿ ڏئي پاڻﷺ جي تاريخي مشن جي تڪميل ڪري.

الجزء السابع والعشرون (٢٧)

قَالَ فَمَا خَطْبُكُمْ اَيُّهَا الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٣١﴾ قَالُوْٓا اِنَّآ اُرْسِلْنَآ اِلٰى قَوْمٍ مُّجْرِمِيْنَ ﴿٣٢﴾ لِنُرْسِلَ عَلَيْهِمْ حِجَارَةً مِّنْ طِيْنٍ ﴿٣٣﴾ مُّسَوَّمَةً عِنْدَ رَبِّكَ لِلْمُسْرِفِيْنَ ﴿٣٤﴾ فَاَخْرَجْنَا مَنْ كَانَ فِيْهَا مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٣٥﴾ فَمَا وَجَدْنَا فِيْهَا غَيْرَ بَيْتٍ مِّنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٣٦﴾ وَتَرَكْنَا فِيْهَآ اٰيَةً لِّلَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ﴿٣٧﴾

ابراهيم چيو تہ اي فرشتو! توهان جو ڪهڙو غرض آهي. انهن چيو اسان هڪ مجرم قوم (قوم لوط) ڏانهن موڪليا ويا آهيون، تہ جيئن مٽن پڪي مٽي جا پٿر وسايون. جيڪي نشان ڪيل آهن تنهنجي رب وٽ انهن ماڻهن لاءِ جيڪي حد کان لنگهي وڃڻ وارا آهن. پوءِ اُتي جيترا ايمان وارا هئا، انهن کي اسان ڪڍي ورتو. پوءِ اتي هڪ گهر کان سواءِ ٻيو ڪو مسلم گهر نہ ڏٺوسون ۽ اسان ان ۾ هڪ نشاني ڇڏي آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ڏکوئيندڙ عذاب کان ڊڄندا آهن. ٣١-٣٧

---

حضرت ابراهيمؑ ان وقت فلسطين ۾ هئا. ويجهو ئي بحر مردار وٽ سدوم ۽ عموره جون وسنديون هيون، جتي لوط جي قوم جا ماڻهو آباد هئا. حضرت لوطؑ جي تبليغ جي باوجود اُهي

ماڻھو خدا فراموشي جي زندگي مان نڪرڻ لاءِ تيار نہ ھئا. تنھن ڪري حضرت لوط عليه السلام ۽ انھن جا ساٿي الله جي حڪم سان ٻاھر نڪري آيا. انھن فرشتن زلزلي ۽ آنڌي ۽ پٿرن جي بارش سان سڄي قوم کي ھلاڪ ڪري ڇڏيو.

لوط عليه السلام جي قوم ۾ ھزار سال اڳ ختم ٿي وئي، پر ان جون تباھ ٿيل جايون، بحر مردار جو ڏاکڻون علائقو اڄ انھن ماڻھن کي سبق ڏئي رھيون آھن، جيڪي واقعن مان سبق وٺڻ جو مزاج رکندا ھجن.

وَ فِيْ مُوْسٰۤى اِذْ اَرْسَلْنٰهُ اِلٰى فِرْعَوْنَ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿۳۸﴾ فَتَوَلّٰى بِرُكْنِهٖ وَ قَالَ سٰحِرٌ اَوْ
مَجْنُوْنٌ ﴿۳۹﴾ فَاَخَذْنٰهُ وَ جُنُوْدَهٗ فَنَبَذْنٰهُمْ فِي الْيَمِّ وَ هُوَ مُلِيْمٌ ﴿۴۰﴾ؕ وَ فِيْ عَادٍ اِذْ اَرْسَلْنَا
عَلَيْهِمُ الرِّيْحَ الْعَقِيْمَ ﴿۴۱﴾ۚ مَا تَذَرُ مِنْ شَيْءٍ اَتَتْ عَلَيْهِ اِلَّا جَعَلَتْهُ كَالرَّمِيْمِ ﴿۴۲﴾ؕ وَ فِيْ
ثَمُوْدَ اِذْ قِيْلَ لَهُمْ تَمَتَّعُوْا حَتّٰى حِيْنٍ ﴿۴۳﴾ فَعَتَوْا عَنْ اَمْرِ رَبِّهِمْ فَاَخَذَتْهُمُ الصّٰعِقَةُ وَ
هُمْ يَنْظُرُوْنَ ﴿۴۴﴾ فَمَا اسْتَطَاعُوْا مِنْ قِيَامٍ وَّ مَا كَانُوْا مُنْتَصِرِيْنَ ﴿۴۵﴾ۙ وَ قَوْمَ نُوْحٍ مِّنْ
قَبْلُ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿۴۶﴾ۧ ع ٢٣ ٢

۽ موسيٰ عليه السلام جي (قصي) ۾ بہ نشاني آھي جڏھن اسان ھن کي فرعون وٽ پڌري دليل سان موڪليو ھو، پوءِ ھُن پنھنجي طاقت جي ڪري منھن موڙيو ۽ چيائين تہ ھي جادوگر آھي يا مجنون. تنھن ڪري اسان ھن کي ۽ ھن جي فوج کي پڪڙيو. پوءِ انھن کي سمنڊ ۾ اڇلايو ۽ اھو ملامت ڪيل ٿي ويو. عاد ۾ بہ نشاني آھي. جڏھن اسان انھن تي بي برڪتو واءُ موڪليو جو جنھن شيءِ تان بہ گذري ان کي ذرو ذرو ڪري ڇڏي ۽ ثمود ۾ بہ نشاني آھي، جڏھن انھن کي چيو تہ ٿوري وقت لاءِ فائدو ڪٽي وٺو پوءِ انھن پنھنجي رب جي حڪم کان سرڪشي ڪئي، تنھن ڪري انھن کي سخت ڪڙڪي اچي پڪڙيو ۽ اھي ڏسي رھيا ھئا. پر اھي اٿي نہ سگھيا ۽ نہ پنھنجو بچاءُ ڪري سگھيا ۽ نوح جي قوم کي بہ انھن کان اڳ. بيشڪ اُھي نافرمان ماڻھو ھئا. ٣٨-٤٦

مصر جي فرعون حضرت موسيٰ عليه السلام جي معجزن کي جادو قرار ڏنو، پاڻ عليه السلام جو اھو يقين جيڪو پاڻ عليه السلام جي حق تي ھئڻ کي ظاھر ڪري رھيو ھو، ان کي فرعون جنون سان تعبير ڪيو. انھيءَ جو نالو تلبيس آھي ۽ اھائي تلبيس ھميشہ انھن ماڻھن جو طريقو رھيو آھي جيڪي دليل جي باوجود ان کي مڃڻ تي تيار نہ ٿا ٿين.

حق جي مقابلي ۾ اھڙي قسم جي سرڪشي ڪرڻ وارا ماڻھو الله جي پڪڙ کان نہ ٿا بچن. فرعون ان ڪري ئي ھلاڪ ڪيو ويو ۽ عاد جي قوم ثمود جي قوم ۽ نوح جي قوم بہ ان ڪري تباھ و برباد ڪيون ويون. اھڙن ماڻھن لاءِ الله جي دنيا ۾ ڪو ٻيو فائدو مقدر نہ آھي، سواءِ ٿورڙي فائدي جي جيڪو ڪين امتحان جي مصلحت جي ڪري ڪجھ وقت لاءِ ڏنو ويو آھي.

وَ السَّمَآءَ بَنَيْنٰهَا بِاَيْىدٍ وَّ اِنَّا لَمُوْسِعُوْنَ ﴿۴۷﴾ وَ الْاَرْضَ فَرَشْنٰهَا فَنِعْمَ الْمٰهِدُوْنَ ﴿۴۸﴾ وَ
مِنْ كُلِّ شَيْءٍ خَلَقْنَا زَوْجَيْنِ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿۴۹﴾ فَفِرُّوْۤا اِلَى اللّٰهِ ؕ اِنِّيْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ

مُّبِيْنٌ۝۵۰ وَلَا تَجْعَلُوْا مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ ؕ اِنِّيْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ۝۵۱

۽ اسان آسمان کي پنهنجي قدرت سان ٺاهيو ۽ اسان ڪشادو ڪندڙ آهيون ۽ زمين کي اسان وڇايو. پوءِ اسان
چڱا وڇائيندڙ آهيون ۽ اسان هر شيءِ کي جوڙو جوڙو ٺاهيو، ته جيئن توهان غور ڪريو. پوءِ الله ڏانهن ڊوڙو.
آئون سندس طرفان اوهان لاءِ پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان ۽ الله سان ڪو ٻيو معبود نه ٺاهيو. آئون سندس پاران
اوهان لاءِ پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان. ٤٧-٥١

”اسان آسمان کي ڪشادو ڪرڻ وارا آهيون.“ ان جملي ۾ غالباً ڪائنات جي ان نوعيت ڏانهن اشارو آهي جيڪا صرف حال ۾ دريافت ٿي آهي. يعني ڪائنات جو مسلسل پنهنجي چئني پاسي ڦهلجڻ. ڪائنات جو اهڙي طرح ڦهلجڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته اِن کي ڪنهن پيدا ڪرڻ واري پيدا ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته ان ڦهلجڻ جو مطلب اُهو آهي ته پنهنجي ابتدا ۾ اُها ننڍي هئي. معلوم مادي قانون جي مطابق ڪائنات جي ان ابتدائي گولي جا سيئي جز اندر جي طرف ڇڪيل هئا. اهڙي حالت ۾ انهن جو ٻاهر جي طرف ڦهلجڻ ڪنهن خارجي مداخلت جي بغير نه ٿو ٿئي سگهي. ڪنهن خارجي مداخلت کي مڃڻ کان پوءِ الله جو مڃڻ لازمي ٿي ويندو آهي.

اسان جي دنيا جو نظام انتهائي بامعنيٰ نظام آهي. ان مان ثابت ٿيندو آهي ته موجوده دنيا جي تخليق ڪنهن اعليٰ مقصد جي تحت ٿيل آهي، پر اسان ڏسون ٿا ته انسان زمين کي فساد سان ڀري ڇڏيو آهي. بامعنيٰ ڪائنات ۾ اهو بي معنيٰ واقعو بلڪل بي جوڙ آهي. اها صورتحال تقاضو ڪندي آهي ته هڪ اهڙي دنيا ٺهڻي جيڪا هر قسم جي برائين کان پاڪ هجي.

هتي موجوده دنيا ۾ هڪ اهڙي حقيقت موجود آهي، جيڪا ان سوال جو جواب ڏي ٿي ۽ اها هي آهي ته هتي جي سيني شين جا جوڙا جوڙا هئڻ، مادي ۾ مثبت ۽ منفي ذرا، نباتات ۾ نر ۽ مادي، انسان ۾ عورت ۽ مرد. ان مان ڪائنات جو اهو مزاج معلوم ٿيندو آهي ته هتي شين جي ڪمي کي ان جي جوڙي ذريعي مڪمل ڪرڻ جو قانون رائج آهي. اهو هڪ دليل آهي جيڪو آخرت جي امڪان کي ثابت ڪري ٿو. آخرت جي دنيا ڄڻ موجوده دنيا جو ٻيو جوڙو آهي، جنهن سان ملي اسان جي دنيا پنهنجي پاڻ کي مڪمل ڪندي.

كَذٰلِكَ مَآ اَتَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا قَالُوْا سَاحِرٌ اَوْ مَجْنُوْنٌ۝۵۲ اَتَوَاصَوْا
بِهٖ ۚ بَلْ هُمْ قَوْمٌ طَاغُوْنَ۝۵۳ فَتَوَلَّ عَنْهُمْ فَمَآ اَنْتَ بِمَلُوْمٍ۝۵۴ وَّ ذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى
تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ۝۵۵

اهڙي طرح جيڪي انهن کان اڳ هئا تن وٽ ڪو پيغمبر نه آيو جنهن کي انهن جادوگر يا مجنون نه چيو هجي.
ڇا اهي هڪ ٻئي کي ان جي وصيت ڪندا آيا آهن، بلڪ اهي سرڪش ماڻهو آهن تنهن ڪري تون ڪائڻ منهن
موڙ تو تي ڪو الزام نه آهي ۽ سمجهائيندو رهه، ڇاڪاڻ ته سمجهائڻ ايمان وارن کي نفعو ڏيندو آهي. ٥٢-٥٥

هڪ سنجيده ماڻهو جيڪڏهن ڪنهن ڳالهه تي دليل گهري ته دليل سامهون اچڻ کان پوءِ هو ان کي مڃي وٺندو آهي. پر جيڪي ماڻهو سرڪشي جو مزاج رکندا آهن، انهن کي ڪنهن به دليل سان ماٺ

نہ ٿو ڪرائي سگھجي. اھو ھر دليل کي نہ مڃڻ جي لاءِ پيھر ڪجھ نوان لفظ ڳولي لھندا آھن. ايستائين جيڪڏھن انھن جي سامھون اھڙو دليل پيش ڪجي جنھن جو ٽوڙ ممڪن نہ ھجي تہ اھي ايئن چئي ان کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آھن تہ اھو تہ جادو آھي. ھي انھن ماڻھن جو حال آھي جن کي قوم ۾ وڏائي جو مقام ملي ويو ھجي. اھڙن ماڻھن لاءِ سندن وڏائي جو احساس ان ۾ رڪاوٽ بڻجي ويندو آھي جو ھو ڪنھن ٻئي ماڻھو جي زبان مان جاري ٿيڻ واري سچائي کي مڃي وٺن. اھڙا ماڻھو جيڪڏھن حق جي دعوت کي نہ مڃن تہ داعي کي مايوس نہ ٿيڻ گھرجي. ھو انھن ٻين ماڻھن ۾ پنھنجا حامي ڳولھي لھندو جيڪي ڪوڙي وڏائي جي احساس ۾ مبتلا ٿيڻ کان بچي ويا ھجن.

وَ مَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَ الْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ۝۵۶ مَآ اُرِيْدُ مِنْھُمْ مِّنْ رِّزْقٍ وَّ مَآ اُرِيْدُ اَنْ يُّطْعِمُوْنِ۝۵۷ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الرَّزَّاقُ ذُو الْقُوَّةِ الْمَتِيْنُ۝۵۸ فَاِنَّ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ذَنُوْبًا مِّثْلَ ذَنُوْبِ اَصْحٰبِھِمْ فَلَا يَسْتَعْجِلُوْنِ۝۵۹ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ يَّوْمِهِمُ الَّذِيْ يُوْعَدُوْنَ۝۶۰ ع ۱۴ ۲

۽ مون جنن ۽ انسانن کي صرف پنھنجي عبادت ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيو آھي. آئون انھن کان روزي نہ ٿو گھران ۽ نہ ھي گھران ٿو تہ ھو مون کي کارائين. بيشڪ الله ئي روزي ڏيڻ وارو زور آور زبردست آھي. پوءِ جن ماڻھن ظلم ڪيو تن لاءِ سندن يارن جي سزا جھڙو عذاب آھي. پوءِ اھي جلدي نہ ڪن، پوءِ منڪرن لاءِ خرابي آھي. سندن ان ڏينھن کان جنھن جو کين واعدو ڏنو وڃي ٿو. ٥٦-٦٠

---

الله ھر قسم جو ذاتي اختيار رکندو آھي. جيئن تہ فرشتن کي ھن پنھنجي وسيع سلطنت جو انتظام سنڀالڻ لاءِ پيدا ڪيو آھي. پر انسانن جو معاملو ان کان مختلف آھي. انسان ان ڪري پيدا نہ ڪيا ويا آھن جو ھو الله جي ڪنھن ذاتي يا انتظامي ضرورت کي پورو ڪن. سندن پيدائش جو واحد مقصد الله جي عبادت آھي. عبادت جو مطلب خود کي الله جي اڳيان جھڪائڻ آھي ۽ پاڻ کي پوري طرح الله جو پرستار بڻائڻ آھي.

عبادت جو خلاصو معرفت آھي. تنھن ڪري ابن جريح الاليعبدون جي تشريح الا ليعرفون سان ڪئي آھي. (تفسير ابن ڪثير). يعني انسان کان اھو گھربل آھي تہ ھو الله کي دريافت جي درجي ۾ لھي. ھو بنا ڏٺي الله کي سڃاڻي. ان ئي جو نالو معرفت آھي، ان معرفت جي نتيجي ۾ ماڻھو جي جيڪا زندگي ٺھي ٿي ان ئي کي عبادت ۽ بندگي چيو وڃي ٿو.

پاڻي جو ٿانو ڀرجي وڃڻ کان پوءِ ٻڏي ويندو آھي، اھڙي طرح ماڻھو جي عمل جي مھلت پوري ٿيڻ کان پوءِ فوراً ان جي موت اچي ويندي آھي. جيڪو ماڻھو پنھنجو ٿانو ڀرڻ کان اڳ پنھنجي اصلاح ڪري وٺي تہ ھن پنھنجي پاڻ کي بچايو ۽ جيڪو ماڻھو آخري وقت تائين غافل رھيو تہ اھو ھلاڪ ٿي ويو.

ظالم ماڻھو جيڪڏھن پڪڙيا نہ وڃن تہ انھن کي اھو نہ سمجھڻ گھرجي تہ انھن کي ڇڏي ڏنو ويو آھي. اھي ان ڪري آزاد آھن جو الله جو طريقو جلدي پڪڙڻ جو طريقو نہ آھي، نہ وري ان ڪري جو الله انھن کي نہ پڪڙيندو.

اٰياتها ٤٩ (٥٢) سُوْرَةُ الطُّوْرِ مَكِّيَّةٌ (٧٦) رکوعاتها ٢

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

وَ الطُّوْرِ ۙ﴿١﴾ وَ كِتٰبٍ مَّسْطُوْرٍ ۙ﴿٢﴾ فِيْ رَقٍّ مَّنْشُوْرٍ ۙ﴿٣﴾ وَّ الْبَيْتِ الْمَعْمُوْرِ ۙ﴿٤﴾ وَ السَّقْفِ
الْمَرْفُوْعِ ۙ﴿٥﴾ وَ الْبَحْرِ الْمَسْجُوْرِ ۙ﴿٦﴾ اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ لَوَاقِعٌ ۙ﴿٧﴾ مَّا لَهٗ مِنْ دَافِعٍ ۙ﴿٨﴾ يَّوْمَ تَمُوْرُ
السَّمَآءُ مَوْرًا ۙ﴿٩﴾ وَّ تَسِيْرُ الْجِبَالُ سَيْرًا ؕ﴿١٠﴾ فَوَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ۙ﴿١١﴾ الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ
خَوْضٍ يَّلْعَبُوْنَ ۘ﴿١٢﴾ يَوْمَ يُدَعُّوْنَ اِلٰى نَارِ جَهَنَّمَ دَعًّا ؕ﴿١٣﴾ هٰذِهِ النَّارُ الَّتِيْ كُنْتُمْ بِهَا وَقْفٌ لَازِم
تُكَذِّبُوْنَ ﴿١٤﴾ اَفَسِحْرٌ هٰذَآ اَمْ اَنْتُمْ لَا تُبْصِرُوْنَ ۚ﴿١٥﴾ اِصْلَوْهَا فَاصْبِرُوْٓا اَوْ لَا تَصْبِرُوْا ۚ
سَوَآءٌ عَلَيْكُمْ ؕ اِنَّمَا تُجْزَوْنَ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٦﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

قسم آهي طور جو ۽ قسم آهي لکيل ڪتاب جو ڪشادن ورقن ۾ ۽ آباد گهر جو ۽ مٿانهين ڇت جو ۽ اڀامنڊڙ سمنڊ جو. بيشڪ تنهنجي رب جو عذاب ضرور ٿيڻو آهي. ان کي ڪوبه ٽارڻ وارو نه آهي. جنهن ڏينهن آسمان موج هڻي ڇُرندو ۽ جبل هلڻ لڳندا، پوءِ خرابي آهي ان ڏينهن ڪوڙ ڀائيندڙن لاءِ جيڪي اجاين ڳالهين ۾ راند ڪندا آهن. جنهن ڏينهن اهي جهنم جي باهه ڏانهن ڌڪيا ويندا. هي آهي اها باهه جنهن کي توهان ڪوڙو ڀائيندا هئا. ڇا هي جادو آهي يا توهان کي نظر نه ٿو اچي. ان ۾ داخل ٿي وڃو. پوءِ توهان صبر ڪريو يا صبر نه ڪريو. توهان لاءِ برابر آهي. توهان کي اهڙو ئي بدلو ڏنو پيو وڃي جيڪي توهان ڪندا هئا. ١-١٦

طورسينا جو اهو جبل آهي جتي حضرت موسيٰ عليه السلام کي پيغمبري ڏني وئي. ڪتاب مسطور مان مراد توريت آهي. بيت معمور مان مراد زمين ۽ سقف مرفوع مان مراد آسمان آهي. بحر مسطور مان مراد موجون هڻندڙ سمنڊ آهي. اهي شيون شاهد آهن ته الله جي پڪڙ جو ڏينهن يقيناً اچڻ وارو آهي. الله تعاليٰ اهائي خبر پيغمبرن جي ذريعي ڏيندو رهيو آهي. قديم آسماني ڪتابن ۾ اهائي ڳالهه درج آهي. زمين ۽ آسمان پنهنجي خاموش زبان مان ان جو اعلان ڪري رهيا آهن، سمنڊ جو موجون هر ٻڌڻ واري کي ان جي ڪهاڻي ٻڌائي رهيون آهن.

انسان کي پنهنجي عمل جو نتيجو ڀوڳڻو پوندو. اها ڳالهه اڄ اڳڪٿي جي صورت ۾ ٻڌائي پئي وڃي. جيڪي ماڻهو ان مان هوش ۾ نه اچن ته انهن تي سندن غفلت ۽ سرڪشي سياڻي هڪ ڏکوئيندڙ عذاب جي صورت ۾ مٿن پوندي ۽ پوءِ اهي ان کان ڀڄڻ چاهيندا، پر هو ان کان ڀڄي ڪيڏانهن به وڃي نه سگهندا.

اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّ نَعِيْمٍ ۙ﴿١٧﴾ فٰكِهِيْنَ بِمَآ اٰتٰىهُمْ رَبُّهُمْ ۚ وَ وَقٰىهُمْ رَبُّهُمْ عَذَابَ
الْجَحِيْمِ ﴿١٨﴾ كُلُوْا وَ اشْرَبُوْا هَنِيْٓئًا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۙ﴿١٩﴾ مُتَّكِـِٕيْنَ عَلٰى سُرُرٍ مَّصْفُوْفَةٍ ۚ

وَ زَوَّجْنٰهُمْ بِحُوْرٍ عِيْنٍ ﴿٢٠﴾

بيشڪ پرهيزگار ماڻهو باغن ۽ نعمتن ۾ هوندا. جيڪي شيون ڪين سندن رب ڏنيون آهن انهن تي خوش هوندا ۽ انهن جي رب کين دوزخ جي عذاب کان بچائي ورتو. کائو ۽ پيئو مزي سان پنهنجن عملن جي بدلي ۾. هڪ ٻئي جي برابر وڇايل تختن تي ٽيڪ ڏئي ويٺا هوندا ۽ اسان وڏين اکين وارين حورن سان کين پرڻائينداسون. ١٧-٢٠

انسان جو سيني کان وڏو ڏوهه حق جو انڪار آهي. انهيءَ مان باقي سيئي ڏوهه پيدا ٿيندا آهن. اهڙي طرح انسان جي سيني کان وڏي نيڪي حق جو اعتراف آهي. ٻيون سيئي نيڪيون انهيءَ جي نتيجي طور ظاهر ٿينديون آهن.

حق کي مڃڻ سان ماڻهو جي وڏائي ختم ٿيندي آهي. اهو ڪنهن انسان لاءِ سيني کان وڌيڪ مشڪل ڪم آهي. ان تي اهي ئي ماڻهو پورا لهندا آهن جن کي الله جو ڊپ آخري حدتائين سنجيده بڻائي ڇڏيو هجي. جيڪي ماڻهو ان سيني کان وڏي نيڪي جو ثبوت ڏين، اهي ان جا مستحق آهن جو انهن لاءِ جنت جي ابدي نعمتن جا در کوليا وڃن.

وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ اتَّبَعَتْهُمْ ذُرِّيَّتُهُمْ بِاِيْمَانٍ اَلْحَقْنَا بِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَ مَاۤ اَلَتْنٰهُمْ مِّنْ
عَمَلِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ ؕ كُلُّ امْرِئٍۭ بِمَا كَسَبَ رَهِيْنٌ ﴿٢١﴾ وَ اَمْدَدْنٰهُمْ بِفَاكِهَةٍ وَّ لَحْمٍ مِّمَّا
يَشْتَهُوْنَ ﴿٢٢﴾ يَتَنَازَعُوْنَ فِيْهَا كَاْسًا لَّا لَغْوٌ فِيْهَا وَ لَا تَاْثِيْمٌ ﴿٢٣﴾ وَ يَطُوْفُ عَلَيْهِمْ غِلْمَانٌ
لَّهُمْ كَاَنَّهُمْ لُؤْلُؤٌ مَّكْنُوْنٌ ﴿٢٤﴾ وَ اَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَسَآءَلُوْنَ ﴿٢٥﴾ قَالُوْۤا اِنَّا كُنَّا
قَبْلُ فِيْۤ اَهْلِنَا مُشْفِقِيْنَ ﴿٢٦﴾ فَمَنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا وَ وَقٰىنَا عَذَابَ السَّمُوْمِ ﴿٢٧﴾ اِنَّا كُنَّا مِنْ
قَبْلُ نَدْعُوْهُ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْبَرُّ الرَّحِيْمُ ﴿٢٨﴾ ع ٢٨ ۲

۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ سندن اولاد به انهن جي راهه تي ايمان سان گڏ هليو تن سان سندن اولاد کي به اسان ملائينداسون ۽ سندن عملن مان ڪجهه به نه گهٽائينداسون. هر ماڻهو پنهنجي ڪمائي ۾ ڦاٿل آهي ۽ اسان انهن جي پسند جا ميوا ۽ گوشت کين پيا ڏينداسون. اُتي شراب جا پيالا هڪ ٻئي کان پيا وٺندا جنهن ۾ نڪي اجائي بڪ بڪ ۽ نه گناهه ۾ پوڻ هوندو ۽ سندن خدمت ۾ نينگر پيا ايندا ويندا. جڻ اُهي حفاظت سان رکيل موتي آهن. اهي هڪ ٻئي ڏانهن متوجهه ٿي ڳالهيون ڪندا. اُهي چوندا ته اسان ان کان اڳ پنهنجن گهرن ۾ ڊڄندا رهندا هئاسون، پوءِ الله اسان تي فضل ڪيو ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچايو. اسان هن کان اڳ کيس (الله کي) سڏيندا هئاسون. بيشڪ هو احسان ڪندڙ مهربان آهي. ٢١-٢٨

آخرت ۾ ايئن نه ٿيندو جو هڪ ماڻهو جو گناهه ٻئي ماڻهو تي وجهي ڇڏجي ۽ نه وري ڪو ماڻهو ايمان ۽ عمل جي بغير جنت ۾ داخل ٿي سگهندو. البت جنت وارن سان هڪ خاص فضل جو معاملو اهو ٿيندو ته والدين جيڪڏهن جنت جي بلند درجن ۾ هجن ۽ سندن اولاد ڪنهن ٻي درجي ۾ ته اولاد کي به سندن والدين سان گڏ ملائي ڇڏبو، ته جيئن کين وڌيڪ خوشي حاصل ٿئي.

جنت جي لطيف دنيا ۾ داخل ٿيڻ جو مستحق صرف اهو ماڻهو هوندو جنهن جو حال اهو هو ته

دنيا ۾ پنهنجن پارن پچن سان رهندي بہ ان کي الله جو ڊپ تڙپائيندو هو ۽ جنهن پنهنجون اميدون ۽ پنهنجن انديشن کي صرف هڪ الله سان وابستہ ڪري رکيو هو.

فَذَكِّرْ فَمَآ اَنْتَ بِنِعْمَتِ رَبِّكَ بِكَاهِنٍ وَّ لَا مَجْنُوْنٍ۝٢٩ اَمْ يَقُوْلُوْنَ شَاعِرٌ نَّتَرَبَّصُ بِهٖ
رَيْبَ الْمَنُوْنِ۝٣٠ قُلْ تَرَبَّصُوْا فَاِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُتَرَبِّصِيْنَ۝٣١ اَمْ تَاْمُرُهُمْ اَحْلَامُهُمْ
بِهٰذَآ اَمْ هُمْ قَوْمٌ طَاغُوْنَ۝٣٢ اَمْ يَقُوْلُوْنَ تَقَوَّلَهٗ ۚ بَلْ لَّا يُؤْمِنُوْنَ۝٣٣ فَلْيَاْتُوْا بِحَدِيْثٍ
مِّثْلِهٖٓ اِنْ كَانُوْا صٰدِقِيْنَ۝٣٤

پوءِ تون نصيحت ڪندو رهہ پنهنجي رب جي فضل سان، نہ تون ڪاهن آهين ۽ نہ مجنون. ڇا اهي چوندا آهن تہ هي هڪ شاعر آهي. اسان ان تي زماني جي ڦير گهير جا منتظر آهيون. چئو تہ انتظار ڪريو، آئون بہ توهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيان. ڇا ڪين سندن عقل اهو سيکاري ٿو يا اهي سرڪش ماڻهو آهن. ڇا اهي چون ٿا تہ هن قرآن کي پاڻ بڻايو آهي، بلڪ اهي ايمان نہ ٿا آڻڻ چاهين. پوءِ هو ان جهڙو ڪو ڪلام آڻين جيڪڏهن اهي سچا آهن. ٢٩-٣٤

جڏهن ماڻهو هڪ دعوت جي مقابلي ۾ پاڻ کي بي دليل ڏسي، پوءِ ان جي باوجود هو ان کي مڃڻ نہ چاهي تہ هو ايئن ڪندو آهي جو داعي جي ذات تي عيب لڳائڻ شروع ڪندو آهي. هو ڪلام جي بجاءِ ڪلام واري کي پنهنجو نشانو بڻائي ٿو. هي اها نفسيات هئي جنهن جي ڪري پيغمبر جي مخاطبن پاڻ ﷺ کي شاعر ۽ مجنون چوڻ شروع ڪيو. اهي پاڻ ﷺ جي دعوت کي دليل سان رد نہ ڪري پئي سگهيا. ان ڪري اهي پاڻ ﷺ جي باري ۾ اهڙيون ڳالهيون چوڻ لڳا جن مان پاڻ ﷺ جي شخصيت مشڪوڪ ٿي وڃي.

پر پيغمبر الله ڪان وٺي ڳالهائيندو آهي ۽ جيڪو انسان الله ڪان وٺي ڳالهائي، ان جو ڪلام ٻين جي ڪلام کان ايترو ممتاز ۽ مختلف هوندو آهي جو ان جي مقابلي ۾ ان جهڙو ڪلام پيش ڪرڻ ڪنهن جي لاءِ ممڪن نہ هوندو آهي ۽ اهو واقعو ان ڳالهہ جو سيني ڪان وڌو ثبوت آهي تہ سندس ڪلام الله جو ڪلام آهي. اهو عام معنيٰ ۾ محض انساني ڪلام نہ آهي.

اَمْ خُلِقُوْا مِنْ غَيْرِ شَيْءٍ اَمْ هُمُ الْخٰلِقُوْنَ۝٣٥ اَمْ خَلَقُوا السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ ۚ بَلْ لَّا
يُوْقِنُوْنَ۝٣٦ اَمْ عِنْدَهُمْ خَزَآئِنُ رَبِّكَ اَمْ هُمُ الْمُصَيْطِرُوْنَ۝٣٧ اَمْ لَهُمْ سُلَّمٌ
يَّسْتَمِعُوْنَ فِيْهِ ۚ فَلْيَاْتِ مُسْتَمِعُهُمْ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ۝٣٨ اَمْ لَهُ الْبَنٰتُ وَ لَكُمُ الْبَنُوْنَ۝٣٩

ڇا اهي ڪنهن خالق جي بغير پيدا ٿي ويا آهن يا هو خود ئي خالق آهن. ڇا زمين ۽ آسمان کي انهن پيدا ڪيو آهي. بلڪ اهي يقين نہ ٿا رکن. ڇا انهن وٽ تنهنجي رب جا خزانا آهن يا اهي داروغا آهن. ڇا انهن وٽ ڪا ڏاڪڻ آهي جنهن تي اهي (چڙهي) ڳالهايون ٻڌي وٺندا آهن، پوءِ انهن مان ٻڌندڙ ڪو پڌرو دليل آڻي، ڇا الله جي لاءِ ڌيئرون آهن ۽ توهان لاءِ پٽ. ٣٥-٣٩

الله طرفان جن سچاين جو اعلان ٿيو آهي، اهي سڀ پوري طرح معقول آهن. ماڻهو جيڪڏهن

ڏيان ڏي تہ هو آساني سان انهن کي سمجهي سگهي ٿو. پوءِ بہ ماڻهو ڇو انڪار ڪندا آهن، ان جو سبب آخرت جي باري ۾ ماڻهن جي بي يقيني آهي. ماڻهن کي يقين نہ آهي تہ آخرت ۾ انهن کان حساب ورتو ويندو. ان ڪري اهي هن معاملي ۾ سنجيده نہ آهن ۽ ان ڪري اهي سمجهي بہ نٿا سگهن، جيڪڏهن عملن جي بدلي جو يقين هجي تہ ماڻهو فوراً انهن ڳالهين کي سمجهي وڃي جن جو سمجهڻ ان لاءِ مشڪل ٿي رهيو هو.

اَمْ تَسْـَٔلُهُمْ اَجْرًا فَهُمْ مِّنْ مَّغْرَمٍ مُّثْقَلُوْنَ ﴿٤٠﴾ اَمْ عِنْدَهُمُ الْغَيْبُ فَهُمْ يَكْتُبُوْنَ ﴿٤١﴾ اَمْ يُرِيْدُوْنَ كَيْدًا ؕ فَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا هُمُ الْمَكِيْدُوْنَ ﴿٤٢﴾ اَمْ لَهُمْ اِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ ؕ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٤٣﴾

ڇا تون انهن کان اجورو گهرين ٿو جو اهي چٽي جي بار هيٺ دٻجي رهيا آهن. ڇا انهن وٽ غيب جو (علم) آهي جو اهي لکندا آهن. ڇا اُهي ڪا تدبير ڪرڻ چاهين ٿا. پوءِ انڪار ڪرڻ وارا پاڻ ئي ان تدبير ۾ گرفتار ٿيندا. ڇا الله کان سواءِ انهن جو ڪو ٻيو معبود آهي الله پاڪ آهي ان کان جن کي هو ساڻس شريڪ ڪندا آهن. ٤٠-٤٣

مدعو گروهه هميشہ ماده پرستي جي سطح تي هوندو آهي، اهڙي حالت ۾ مدعو کي جيڪڏهن اهو احساس هجي تہ داعي ان کان سندس ڪا مادي شيءِ وٺڻ چاهي ٿو تہ هو فوراً ان کان پري ٿي ويندو. اهوئي سبب آهي تہ پيغمبر پنهنجي ۽ مخاطبن جي وچ ۾ ڪنهن قسم جي مادي مطالبي جي ڳالهہ اچڻ نہ ٿو ڏي. هو پنهنجي مخاطبن جي وچ ۾ آخري وقت تائين بي غرضي جي فضا باقي رکي ٿو. چاهي ان ڪري ان کي ڪيترو ئي مادي نقصان برداشت ڪرڻو پوي. داعي جڏهن پنهنجي دعوت جي حق ۾ ان حدتائين سنجيدگي جو ثبوت ڏئي ڇڏي تہ ان کان پوءِ هو الله جي ان نصرت جو مستحق ٿي ويندو آهي جو منڪرن جي هر تدبير انهن تي ابتي ٿي پوي. اهي ڪنهن بہ طرح داعي کي مغلوب ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿا ٿين.

وَاِنْ يَّرَوْا كِسْفًا مِّنَ السَّمَآءِ سَاقِطًا يَّقُوْلُوْا سَحَابٌ مَّرْكُوْمٌ ﴿٤٤﴾ فَذَرْهُمْ حَتّٰى يُلٰقُوْا يَوْمَهُمُ الَّذِيْ فِيْهِ يُصْعَقُوْنَ ﴿٤٥﴾ يَوْمَ لَا يُغْنِيْ عَنْهُمْ كَيْدُهُمْ شَيْـًٔا وَّلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٤٦﴾ وَاِنَّ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا عَذَابًا دُوْنَ ذٰلِكَ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤٧﴾

۽ جيڪڏهن اهي آسمان ما ڪو ٽڪرو ڪرندي ڏسندا تہ هو چوندا تہ هي گهاٽو ڪڪر آهي، پوءِ انهن کي ڇڏي ڏي ايستائين جو هو پنهنجو اهو ڏينهن ڏسن جنهن ۾ سندن هوش خطا ٿي ويندا، جنهن ڏينهن سندن تدبيرون ڪين ڪجهہ ڪم نہ اينديون ۽ نہ ڪين ڪا مدد ملندي ۽ ظالمن لاءِ ان کان سواءِ بہ عذاب آهي، پر انهن مان اڪثر نہ ٿا ڄاڻن. ٤٤-٤٧

قديم مڪي جي ماڻهن جو اهو حال ڇو ٿي ويو هو تہ جيڪڏهن اهي آسمان کان ڪو عذاب جو ٽڪرو ڪرندي ڏسن تہ چون اهو ڪڪر آهي. ان جو سبب اهو نہ هو جو اهي الله کي يا خدائي طاقتن کي مڃيندا نہ هئا. ان جو اصل سبب اهو هو تہ ڪين پيغمبر جي پيغمبر هئڻ ۾ شڪ هو. ڪين يقين نہ هو تہ انهن

جي سامهون بظاهر انهن جهڙي هڪ ماڻهو جو انڪار ڪرڻ اهڙو جرم آهي، جنهن ڪري هلاڪت جو جبل انهن تي ڪري پوندو.

پيغمبر اسلام جي شخصيت پنهنجي زماني جي ماڻهن لاءِ هڪ اختلافي شخصيت هئي. هو اهڙي طرح هڪ ثابت ٿيل شخصيت نه هئي، جهڙي طرح اڄ اها ماڻهن کي نظر اچي ٿي. پر هن دنيا ۾ ماڻهو جو امتحان اهوئي آهي جو هو شڪ جي پردي کي هٽائي حقيقت کي ڏسي. هو بظاهر هڪ اختلافي شخصيت کي ثابت شده شخصيت جي روپ ۾ دريافت ڪري.

وَ اصۡبِرۡ لِحُكۡمِ رَبِّكَ فَاِنَّكَ بِاَعۡيُنِنَا وَ سَبِّحۡ بِحَمۡدِ رَبِّكَ حِيۡنَ تَقُوۡمُ ﴿۴۸﴾ وَ مِنَ الَّيۡلِ
ع فَسَبِّحۡهُ وَ اِدۡبَارَ النُّجُوۡمِ ﴿۴۹﴾

۽ تون صبر سان پنهنجي رب جي فيصلي جو انتظار ڪر. بيشڪ تون اسان جي نگاهه ۾ آهين ۽ پنهنجي رب جي حمد سان گڏ سندس تسبيح ڪر جنهن مهل تون اٿين ٿو ۽ رات جو به ان جي تسبيح ڪر ۽ ستارن جي لهڻ جي وقت به. ٤٨-٤٩

---

”الله جو فيصلو اچڻ تائين صبر ڪر“ جو مطلب هي آهي ته مخاطب جي طرفان هر قسم جي ناگوار ڳالهيون پيش اچڻ جي باوجود دعوت جو ڪم ان وقت تائين جاري رکو. جيستائين خود الله وٽ ان جي حد نه اچي وڃي. جڏهن اها حد ايندي آهي ته ان وقت الله جو فيصلو ظاهر ٿي حق ۽ ناحق جي فرق کي عملي طور ظاهر ڪري ڇڏيندو آهي. جنهن کي ان کان اڳ ۾ صرف نظرياتي طور ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي.

ان سڄي عرصي ۾ داعي مڪمل طور تي الله جي حفاظت ۾ هوندو آهي، داعي جو ڪم اهو آهي ته هو الله ڏانهن متوجه رهي ۽ اهو يقين رکي ته الله ان کي هر گهڙي پنهنجي حفاظت ۾ رکيو آهي.

اٰياتها ٦٢ (٥٣) سُوۡرَةُ النَّجۡمِ مَكِّيَّةٌ (٢٣) رڪوعاتها ٣

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

وَ النَّجۡمِ اِذَا هَوٰى ﴿۱﴾ مَا ضَلَّ صَاحِبُكُمۡ وَ مَا غَوٰى ﴿۲﴾ وَ مَا يَنۡطِقُ عَنِ الۡهَوٰى ﴿۳﴾ اِنۡ هُوَ
اِلَّا وَحۡىٌ يُّوۡحٰى ﴿۴﴾ عَلَّمَهٗ شَدِيۡدُ الۡقُوٰى ﴿۵﴾ ذُوۡ مِرَّةٍ ؕ فَاسۡتَوٰى ﴿۶﴾ وَ هُوَ بِالۡاُفُقِ الۡاَعۡلٰى ﴿۷﴾
ثُمَّ دَنَا فَتَدَلّٰى ﴿۸﴾ فَكَانَ قَابَ قَوۡسَيۡنِ اَوۡ اَدۡنٰى ﴿۹﴾ فَاَوۡحٰۤى اِلٰى عَبۡدِهٖ مَاۤ اَوۡحٰى ﴿۱۰﴾ مَا كَذَبَ
الۡفُؤَادُ مَا رَاٰى ﴿۱۱﴾ اَفَتُمٰرُوۡنَهٗ عَلٰى مَا يَرٰى ﴿۱۲﴾ وَ لَقَدۡ رَاٰهُ نَزۡلَةً اُخۡرٰى ﴿۱۳﴾ عِنۡدَ سِدۡرَةِ
الۡمُنۡتَهٰى ﴿۱۴﴾ عِنۡدَهَا جَنَّةُ الۡمَاۡوٰى ﴿۱۵﴾ اِذۡ يَغۡشَى السِّدۡرَةَ مَا يَغۡشٰى ﴿۱۶﴾ مَا زَاغَ الۡبَصَرُ وَ مَا
طَغٰى ﴿۱۷﴾ لَقَدۡ رَاٰى مِنۡ اٰيٰتِ رَبِّهِ الۡكُبۡرٰى ﴿۱۸﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

ستاري جو قسم آهي جڏهن هو لهي ٿو. توهان جو سنگتي نه ڀليو آهي ۽ نه بي راهه ٿيو آهي ۽ هو پنهنجي جيءَ سان نه ٿو ڳالهائي. هي هڪ وحي آهي جيڪا ان تي موڪلي ويندي آهي. ان کي زبردست قوت واري سيکاريو آهي، جيڪو زور وارو آهي. پوءِ اهو سڌو بيٺو ۽ هو آسمان جي مٿاهين ڪناري تي هو. پوءِ هو ويجهو ٿيو. پوءِ هيٺ لٿو. پوءِ ٻن ڪمانن جيترو يا ان کان به گهٽ فاصلو رهجي ويو. پوءِ الله وحي ڪيو پنهنجي ٻانهي ڏانهن جيڪو وحي ڪيو. رسول ڪوڙ نه ڄاتو جيڪو رسول جي دل ڏٺو. جيڪي پيغمبر ڏسندو آهي تنهن ۾ ان سان جهڳڙو ٿا ڪريو. ۽ ان کي هڪ ڀيرو به ڏٺو آهي سدرة المنتهيٰ وٽ لهندي ڏٺو هو. ان وٽ ئي آرام سان رهڻ جو بهشت آهي. جنهن مهل سدرت تي ڇانئجي رهيو هو، جيڪو ڪجهه ڇانئجي رهيو هو. (پيغمبر جي) نه ڪي اک لڙي ۽ نه ڪي حد کان لنگهي. هن پنهنجي رب جون وڏيون نشانيون ڏٺيون. ١-١٨

---

ستارن جو لهڻ هڪ علامتي لفظ آهي، جنهن ذريعي ستارن جي گردش جي محڪم نظام ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي. مادي دنيا ۾ ستارن جو نظام هڪ بي عيب نظام آهي، هي ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته وحي ۽ نبوت جي صورت ۾ الله جو جيڪو روحاني نظام قائم ڪيو ويو آهي، اهو به هڪ بي عيب نظام آهي.

فرشتي ۽ وحي جي صورت ۾ رسول جو تجربو حقيقي تجربو آهي، ان جي ثبوت لاءِ قرآن جو بيان ڪافي آهي. قرآن جو معجزاتو ڪلام قرآن کي الله جو ڪتاب ثابت ڪري ٿو ۽ جنهن ڪتاب جو الله جو ڪتاب هئڻ ثابت ٿي وڃي، ان جو هر بيان خود قرآن جي زور تي تسليم ڪيو ويندو.

اَفَرَءَيۡتُمُ اللّٰتَ وَ الۡعُزّٰى ۙ﴿۱۹﴾ وَ مَنٰوةَ الثَّالِثَةَ الۡاُخۡرٰى ﴿۲۰﴾ اَلَكُمُ الذَّكَرُ وَ لَهُ الۡاُنۡثٰى ﴿۲۱﴾
تِلۡكَ اِذًا قِسۡمَةٌ ضِيۡزٰى ﴿۲۲﴾ اِنۡ هِيَ اِلَّاۤ اَسۡمَآءٌ سَمَّيۡتُمُوۡهَاۤ اَنۡتُمۡ وَ اٰبَآؤُكُمۡ مَّاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ
بِهَا مِنۡ سُلۡطٰنٍ ؕ اِنۡ يَّتَّبِعُوۡنَ اِلَّا الظَّنَّ وَ مَا تَهۡوَى الۡاَنۡفُسُ ۚ وَ لَقَدۡ جَآءَهُمۡ مِّنۡ
ع٥ رَّبِّهِمُ الۡهُدٰى ﴿۲۳﴾ اَمۡ لِلۡاِنۡسَانِ مَا تَمَنّٰى ﴿۲۴﴾ ۖ فَلِلّٰهِ الۡاٰخِرَةُ وَ الۡاُوۡلٰى ﴿۲۵﴾

ڀلا توهان لات ۽ عزيٰ کي ڏٺو اٿؤ ڇا ۽ ٽئين منات کي به. ڇا توهان لاءِ پٽ آهن ۽ الله لاءِ ڌيئرون هي تمام بي ڍنگي تقسيم آهي. اهي رڳو نالا آهن جيڪي توهان ۽ توهان جي ابن ڏاڏن رکيا آهن. الله انهن جي حق ۾ ڪو دليل نازل نه ڪيو آهي. اهي رڳو گمان جي پيروي ڪري رهيا آهن ۽ جيڪو سندن نفس چاهي. حالانڪ انهن وٽ سندن رب طرفان هدايت آئي آهي. ڇا انسان کي اهو سڀ ڪجهه ملي ٿو جيڪو هو چاهي، پوءِ الله جي اختيار ۾ آهي آخرت ۽ دنيا. ١٩-٢٥

---

لات ۽ عزيٰ ۽ منات قديم عرب جا بت هئا. لات طائف ۾ هو، عزيٰ مڪي جي ويجهو نخلا ۾ ۽ منات مديني جي ويجهو قُديد ۾. اهي ٽئي سندن عقيدي مطابق الله جون ڌيئرون هيون ۽ اهي ڪين پوڄيندا هئا. اهڙي قسم جا عقيدا بيشڪ بي بنياد فرضي عقيده آهن، پر انهيءَ سان گڏ اهي خود پنهنجي ترديد پاڻ آهن، انهن مشرڪن جو حال اِهو هو جو اهي ڌيئرن کي پاڻ لاءِ ذلت جي شيءِ سمجهندا هئا. فرمايو ويو ته غور ڪريو، الله جيڪو پٽ ۽ ڌيءَ ٻنهي جو خالق آهي. هو پاڻ لاءِ اولاد ناهي ها ته ڇا ڌيئرون ناهي ها.

”چا انسان اهو سڀ ڪجهه حاصل ڪري ٿو وٺي جيڪو هو چاهي.“ ان جي تشريح ڪندي شاهه عبدالقادر دهلوي لکن ٿا يعني بت جي پوڄا سان ڇا ٿو ملي، ملي اهو ئي ٿو جيڪو الله ڏي.

وَ كَمۡ مِّنۡ مَّلَكٍ فِى السَّمٰوٰتِ لَا تُغۡنِىۡ شَفَاعَتُهُمۡ شَيۡـًٔا اِلَّا مِنۡۢ بَعۡدِ اَنۡ يَّاۡذَنَ اللّٰهُ لِمَنۡ
يَّشَآءُ وَ يَرۡضٰى ﴿٢٦﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِالۡاٰخِرَةِ لَيُسَمُّوۡنَ الۡمَلٰٓـئِكَةَ تَسۡمِيَةَ الۡاُنۡثٰى ﴿٢٧﴾
وَ مَا لَهُمۡ بِهٖ مِنۡ عِلۡمٍ ؕ اِنۡ يَّتَّبِعُوۡنَ اِلَّا الظَّنَّ ۚ وَ اِنَّ الظَّنَّ لَا يُغۡنِىۡ مِنَ الۡحَـقِّ شَيۡـًٔا ﴿٢٨﴾ۚ
فَاَعۡرِضۡ عَنۡ مَّنۡ تَوَلّٰى ۙ عَنۡ ذِكۡرِنَا وَلَمۡ يُرِدۡ اِلَّا الۡحَيٰوةَ الدُّنۡيَا ﴿٢٩﴾ؕ ذٰلِكَ مَبۡلَغُهُمۡ مِّنَ
الۡعِلۡمِ ؕ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعۡلَمُ بِمَنۡ ضَلَّ عَنۡ سَبِيۡلِهٖ ۙ وَ هُوَ اَعۡلَمُ بِمَنِ اهۡتَدٰى ﴿٣٠﴾

۽ آسمانن ۾ ڪيترائي فرشتا آهن جن جي سفارش ڪجهه به ڪم نه ٿي اچي سگهي، پر ان کان پوءِ جو الله اجازت ڏي جنهن کي هو چاهي ۽ پسند ڪري. بيشڪ جيڪي ماڻهو آخرت تي ايمان نه ٿا رکن، اهي فرشتن کي عورتن جا نالا ڏيندا آهن. حالانڪ انهن وٽ ان جو ڪو دليل نه آهي اُهي رڳو گمان تي هلي رهيا آهن ۽ گمان حقيقت کي سڃاڻڻ ۾ ڪنهن به ڪم جو نه آهي. پوءِ تون اهڙي ماڻهو کان منهن موڙ جنهن اسان جي نصيحت کان منهن ڦيرايو ۽ جيڪو دنيا جي حياتي کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه چاهي سندن سمجهه جي پڄاڻي بس ايستائين آهي، تنهنجو رب چڱي طرح ڄاڻي ٿو ته ڪير ان جي واٽ کان ڀٽڪيل آهي ۽ هو ان کي به ڄاڻي ٿو جيڪو سڌي واٽ تي آهي. ٢٦-٣٠

---

پٿر جا بت ٺاهي انهن کي پوڄڻ، فرشتن کي الله جي ڌيئرون ٻڌائڻ، سفارشن جي بنياد تي جنت جي اميد رکڻ، اهي سڀ غيرسنجيده عقيدا آهن. غيرسنجيده عقيدا هميشه ان ذهن ۾ پيدا ٿيندا آهن جيڪو پڪڙ جو خوف نه رکندو هجي. خوف ڪلام يا فضول ڳالهين جو قاتل آهي. جيڪو ماڻهو بي خوف هوندو ته ان جو دماغ اجاين ڳالهين جو ڪارخانو بڻجي ويندو.

جيڪي ماڻهو بيخوفي جي نفسيات ۾ مبتلا هجن، انهن سان بحث ڪرڻ جو ڪو فائدو نه آهي. انهن سان مقابلو ڪرڻ جي هڪڙي ئي ممڪن تدبير آهي. اُها هي ته انهن کان اعراض ڪيو وڃي. جيئن ته الله تعاليٰ هر ماڻهو جي اندروني حالت کي ڄاڻي ٿو ۽ هو ان جي مطابق هر ماڻهو سان معاملو فرمائيندو.

وَ لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الۡاَرۡضِ ۙ لِيَجۡزِىَ الَّذِيۡنَ اَسَآءُوۡا بِمَا عَمِلُوۡا وَيَجۡزِىَ
الَّذِيۡنَ اَحۡسَنُوۡا بِالۡحُسۡنٰى ﴿٣١﴾ۚ اَلَّذِيۡنَ يَجۡتَنِبُوۡنَ كَبٰٓئِرَ الۡاِثۡمِ وَالۡفَوَاحِشَ اِلَّا اللَّمَمَ ؕ
اِنَّ رَبَّكَ وَاسِعُ الۡمَغۡفِرَةِ ؕ هُوَ اَعۡلَمُ بِكُمۡ اِذۡ اَنۡشَاَكُمۡ مِّنَ الۡاَرۡضِ وَاِذۡ اَنۡتُمۡ اَجِنَّةٌ فِىۡ
بُطُوۡنِ اُمَّهٰتِكُمۡ ۚ فَلَا تُزَكُّوۡۤا اَنۡفُسَكُمۡ ؕ هُوَ اَعۡلَمُ بِمَنِ اتَّقٰى ﴿٣٢﴾ۚ

۽ الله ئي جو آهي جيڪو ڪجهه آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو ڪجهه زمين ۾ آهي، ته جيئن هو بدلو ڏي بڇڙا ڪم ڪرڻ وارن کي سندن عملن جو ۽ بدلو ڏي چڱائي وارن کي سندن چڱاين جو. جيڪي وڏن گناهن کان ۽ بي

حيائي کان بچندا آهن، سواءِ ڪجهه ننڍين خطائن جي. بيشڪ تنهنجي رب جي بخشش تمام وسيع آهي. هو توهان کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو، جڏهن هن توهان کي زمين مان پيدا ڪيو ۽ جڏهن توهان پنهنجي مائرن جي پيٽ ۾ جنين (ڪچڙا ٻار) جي شڪل ۾ هئا. تنهن ڪري توهان پاڻ کي مقدس نہ سمجهو. هو پرهيزگارن کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو. ٣١-٣٢

---

ڪائنات پنهنجي محڪم نظام ذريعي ٻڌائي رهي آهي تہ ان جو خالق ۽ مالڪ بيحد طاقتور آهي. اهو واقعو هي سمجهڻ لاءِ ڪافي آهي تہ اهو الله انسان کي پڪڙيندو ۽ جڏهن هو انسان کي پڪڙيندو تہ ڪنهن بہ ماڻهو لاءِ ان جي پڪڙ کان بچڻ ممڪن نہ هوندو.

انسان کي بشري ڪمزورين سان پيدا ڪيو ويو آهي، ان ڪري انسان کان فرشتن جهڙي پاڪائي جو مطالبو نہ ڪيو ويو آهي. الله تعاليٰ انسان کي پوري طرح ٻڌائي ڇڏيو آهي تہ ان کي ڇا ڪرڻو آهي ۽ ڇا نہ ڪرڻو آهي. جيئن تہ انسان لاءِ ”لمم“ (ننڍين خطائن) جي معافي آهي. يعني وقتي جذبي تحت ڪنهن برائي ۾ پئجي وڃڻ، پر ان کان پوءِ ماڻهو فوراً ئي ان کي محسوس ڪري ۽ شرمنده ٿي پنهنجي رب کان معافي گهري.

اَفَرَءَيۡتَ الَّذِىۡ تَوَلّٰىۙ ۝٣٣ وَ اَعۡطٰى قَلِيۡلًا وَّ اَكۡدٰى ۝٣٤ اَعِنۡدَهٗ عِلۡمُ الۡغَيۡبِ فَهُوَ يَرٰى ۝٣٥ اَمۡ
لَمۡ يُنَبَّاۡ بِمَا فِىۡ صُحُفِ مُوۡسٰىۙ ۝٣٦ وَ اِبۡرٰهِيۡمَ الَّذِىۡ وَفّٰٓىۙ ۝٣٧ اَلَّا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزۡرَ اُخۡرٰىۙ ۝٣٨ وَ
اَنۡ لَّيۡسَ لِلۡاِنۡسَانِ اِلَّا مَا سَعٰىۙ ۝٣٩ وَ اَنَّ سَعۡيَهٗ سَوۡفَ يُرٰى ۝٤٠ ثُمَّ يُجۡزٰٮهُ الۡجَزَآءَ
الۡاَوۡفٰىۙ ۝٤١ وَ اَنَّ اِلٰى رَبِّكَ الۡمُنۡتَهٰىۙ ۝٤٢

ڇا تو ان ماڻهو کي ڏٺو جنهن منهن موڙيو. ٿورو مال ڏنائين ۽ سخت دل ٿيو. ڇا ان وٽ غيب جو علم آهي، پوءِ هو (سڀ ڪجهه) ڏسي رهيو آهي، ڇا هن کي خبر نہ پهتي ان ڳالهہ جي جيڪا موسيٰ جي صحيفن ۾ آهي ۽ ابراهيم جي جنهن پنهنجو قول پورو ڪيو، ڪو بار کڻندڙ ڪنهن ٻئي جو بار نہ کڻندو ۽ انسان لاءِ اهوئي آهي جيڪو هن ڪمايو ۽ سندس ڪمائي جلد ڏٺي ويندي، پوءِ کيس پورو بدلو ڏنو ويندو ۽ تنهنجي رب ڏانهن ئي موٽڻ آهي. ٣٣-٤٢

---

گهڻا ئي ماڻهو آهن جيڪي حق ڏانهن ٿورو راغب ٿيندا آهن، پوءِ سندن مفاد انهن تي غالب ايندو آهي ۽ اهي پيهر پنهنجي پوئين حالت ڏانهن موٽي ويندا آهن. اهڙا ماڻهو پنهنجي غلط رويي جي تاويل لاءِ طرح طرح جا خوبصورت عقيدا ٻڌائي وٺندا آهن، پر اهو رڳو سندن جرم کي وڌائي ٿو، ڇاڪاڻ تہ اها غلطي تي سرڪشي جو اضافو ڪرڻ جي هم معنيٰ آهي.

پيغمبرن ذريعي الله تعاليٰ جيڪا حقيقت واضح ڪئي آهي، ان جو خلاصو اهو آهي تہ هر ماڻهو کي لازمي پنهنجي عمل جو بدلو ملندو. نہ ڪو ماڻهو پنهنجي عمل جي انجام کان بچي سگهي ٿو ۽ نہ ڪو ٻيو ماڻهو ڪنهن کي بچائڻ وارو ٿي سگهي ٿو. جيڪي ماڻهو پيغمبر جي هن تنبيهہ کان هوشيار نہ ٿين، انهن کان وڌو نادان الله جي هن دنيا ۾ ٻيو ڪير بہ نہ آهي.

وَ اَنَّهٗ هُوَ اَضۡحَكَ وَ اَبۡكٰىۙ ۝٤٣ وَ اَنَّهٗ هُوَ اَمَاتَ وَ اَحۡيَاۙ ۝٤٤ وَ اَنَّهٗ خَلَقَ الزَّوۡجَيۡنِ الذَّكَرَ وَ

الۡاُنۡثٰی ﴿٤٥﴾ مِنۡ نُّطۡفَةٍ اِذَا تُمۡنٰی ﴿٤٦﴾ وَ اَنَّ عَلَيۡهِ النَّشۡاَةَ الۡاُخۡرٰی ﴿٤٧﴾ وَ اَنَّهٗ هُوَ اَغۡنٰی وَ اَقۡنٰی ﴿٤٨﴾
وَ اَنَّهٗ هُوَ رَبُّ الشِّعۡرٰی ﴿٤٩﴾

بيشڪ اهو ئي ڪلائي ۽ روئاري ٿو ۽ اهو ئي ماري ٿو ۽ جيئاري ٿو ۽ ان ئي نر ۽ مادي جوڙو جوڙو پيدا ڪيو. هڪ ڦڙي مان جڏهن ٽپڪايو وڃي ۽ ان تي لازم آهي ٻيو پيرو پيدا ڪرڻ ۽ ان ئي دولت ڏني ۽ آسودو ڪيو ۽ اهوئي شعريٰ جو رب آهي. ٤٣-٤٩

---

دنيا جي هر واقعي جو تعلق اهڙن سببن سان هوندو آهي، جن کي الله کان سواءِ ڪو ٻيو ظهور ۾ آڻڻ تي قادر نہ ٿو ٿي سگهي. خوشي ۽ غم، موت ۽ زندگي، تخليق جو نظام، اميري ۽ غريبي سڀئي هڪ بلند ۽ برتر طاقت جو ڪرشمو آهن. قديم انسان ستارن کي زندگي جو سبب سمجهندو هو. موجوده زماني ۾ فطرت جي قانون کي زندگي جو سبب سمجهيو ويو آهي. پر حقيقت اها آهي تہ انهن سببن جي مٿان بہ هڪ سبب آهي ۽ اهو الله رب العالمين آهي، پوءِ ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي توجهہ جو مرڪز بڻائڻ انسان لاءِ ڪهڙي طرح جائز ٿي سگهي ٿو.

وَ اَنَّهٗۤ اَهۡلَكَ عَادَا ۨالۡاُوۡلٰی ﴿٥٠﴾ وَ ثَمُوۡدَاۡ فَمَاۤ اَبۡقٰی ﴿٥١﴾ وَ قَوۡمَ نُوۡحٍ مِّنۡ قَبۡلُ ؕ اِنَّهُمۡ كَانُوۡا هُمۡ
اَظۡلَمَ وَ اَطۡغٰی ﴿٥٢﴾ وَ الۡمُؤۡتَفِكَةَ اَهۡوٰی ﴿٥٣﴾ فَغَشّٰىهَا مَا غَشّٰی ﴿٥٤﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكَ تَتَمَارٰی ﴿٥٥﴾

۽ الله ئي پهرين عاد کي ناس ڪيو ۽ ثمود کي. پوءِ ڪنهن کي باقي نہ ڇڏيائين ۽ نوح جي قوم کي ان کان اڳ. بيشڪ اهي نهايت ظالم ۽ حد کان لنگهيل هئا ۽ اونڌين ٿيل وسندين کي بہ اڇلايائين، پوءِ ان کي ڍڪيو جنهن ڍڪيو، پوءِ تون (اي انسان) پنهنجي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ۾ شڪ ڪندين. ٥٠-٥٥

---

هڪ قوم ترقي ڪندي ٻئي قوم کان بلند ٿي ويندي آهي. پوءِ بظاهر ناممڪن نظر اچڻ لڳي ٿو تہ ڪو ان قوم کي شڪست ڏئي سگهندو. ان کان پوءِ اهڙا سبب پيدا ٿيندا آهن جو اها قوم هلاڪ ٿي ويندي آهي يا زوال جو شڪار ٿي گذريل تاريخ جو هڪ موضوع بڻجي ويندي آهي. اهو واقعو ظاهر ڪري ٿو تہ انسان جي مٿان بہ ڪا طاقت آهي، جيڪا قومن جي مستقبل جو فيصلو ڪندي آهي. تاريخ جا اهي واضح واقعا بہ جيڪڏهن انسان کي سبق نہ ڏين تہ اهو ڪهڙو واقعو هوندو جنهن مان انسان پاڻ لاءِ سبق وٺي.

هٰذَا نَذِيۡرٌ مِّنَ النُّذُرِ الۡاُوۡلٰی ﴿٥٦﴾ اَزِفَتِ الۡاٰزِفَةُ ﴿٥٧﴾ لَيۡسَ لَهَا مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ كَاشِفَةٌ ﴿٥٨﴾
اَفَمِنۡ هٰذَا الۡحَدِيۡثِ تَعۡجَبُوۡنَ ﴿٥٩﴾ وَ تَضۡحَكُوۡنَ وَ لَا تَبۡكُوۡنَ ﴿٦٠﴾ وَ اَنۡتُمۡ سٰمِدُوۡنَ ﴿٦١﴾
السجدة ١٢ ع ٣ ٧ فَاسۡجُدُوۡا لِلّٰهِ وَ اعۡبُدُوۡا ﴿٦٢﴾ السجدة

هي ڊيڄارڻ وارو آهي، اڳين ڊيڄارڻ وارن وانگر. ويجهي اچڻ واري ويجهي اچي وئي، الله کان سواءِ ان کي ڪو هٽائڻ وارو ڪونهي. ڇا توهان ان ڳالهہ کان تعجب ڪندا آهيو ۽ توهان کلندا آهيو ۽ روئندا نہ آهيو ۽ توهان راند ڪندڙ آهيو. پوءِ الله کي سجدو ڪريو ۽ (ان جي ئي) عبادت ڪريو ٥٦-٦٢.

---

پيغمبرن جي جيڪا تاريخ قرآن ۾ ٻڌائي وئي آهي، ان مان ظاهر ٿيندو آهي ته حق جو انڪار ۽ ان جو برو انجام ۽ پنهي هٿن جي اڳرين وانگر هڪٻئي جي ويجهو آهن. ماڻهو ۾ جيڪڏهن احساس هجي ته هو انڪار ۽ سرڪشي جو رويو اختيار ڪندي ئي الله جي پڪڙ کي پاڻ ڏانهن ايندي ڏسڻ لڳي ۽ سرڪشي جو طريقو ڇڏي اطاعت جو طريقو اختيار ڪري وٺي. پر انسان ايترو گهڻو مدهوش آهي جو سندس سامهون جي شيءِ به ڪيس نظر نه ٿي اچي.

(٥٤) سُوۡرَةُ الۡقَمَرِ مَكِّيَّةٌ (٣٧) اٰياتها ٥٥ رڪوعاتها ٣

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اِقۡتَرَبَتِ السَّاعَةُ وَ انۡشَقَّ الۡقَمَرُ ﴿۱﴾ وَ اِنۡ يَّرَوۡا اٰيَةً يُّعۡرِضُوۡا وَ يَقُوۡلُوۡا سِحۡرٌ مُّسۡتَمِرٌّ ﴿۲﴾ وَ
كَذَّبُوۡا وَ اتَّبَعُوۡۤا اَهۡوَآءَهُمۡ وَ كُلُّ اَمۡرٍ مُّسۡتَقِرٌّ ﴿۳﴾ وَ لَقَدۡ جَآءَهُمۡ مِّنَ الۡاَنۡۢبَآءِ مَا فِيۡهِ
مُزۡدَجَرٌ ﴿۴﴾ حِكۡمَةٌۢ بَالِغَةٌ فَمَا تُغۡنِ النُّذُرُ ﴿۵﴾ فَتَوَلَّ عَنۡهُمۡ ۘ يَوۡمَ يَدۡعُ الدَّاعِ اِلٰى شَىۡءٍ
نُّكُرٍ ﴿۶﴾ خُشَّعًا اَبۡصَارُهُمۡ يَخۡرُجُوۡنَ مِنَ الۡاَجۡدَاثِ كَاَنَّهُمۡ جَرَادٌ مُّنۡتَشِرٌ ﴿۷﴾ مُّهۡطِعِيۡنَ
اِلَى الدَّاعِ ؕ يَقُوۡلُ الۡكٰفِرُوۡنَ هٰذَا يَوۡمٌ عَسِرٌ ﴿۸﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

قيامت ويجهي اچي وئي ۽ چنڊ چيرجي پيو ۽ اهي ڪا به نشاني ڏسندا ته منهن موڙيندا ۽ چوندا ته هي جادو آهي، جيڪو اڳين ڪان هلندو پيو اچي ۽ انهن ڪوڙو ڄاتو ۽ پنهنجن خواهشن جي پيروي ڪئي ۽ هر ڪم جو وقت مقرر آهي ۽ کين اُهي خبرون پهچي چڪيون آهن جن ۾ گهڻي عبرت آهي، وڏي حڪمت به آهي، پر ديڄارڻ کين فائدو نه ٿو ڏي. تنهن ڪري انهن کان منهن موڙ. جنهن ڏينهن سڏيندڙ هڪ ناگوار شيءِ ڏانهن سڏيندو، پنهنجن جهڪيل اکين سان قبرن مان ايئن نڪرندا ڄڻ اهي پکڙيل مڪڙ آهن، سڏيندڙ ڏانهن ڊوڙندا ويندا، منڪر چوندا هي ڏينهن وڏو سخت آهي. ١-٨

الله موجوده دنيا ۾ اهڙا واقعا پيدا ڪندو آهي. جيڪي قيامت جي اڳڪٿي کي فهم جي قابل بڻائڻ وارا هوندا آهن، اهڙي قسم جو هڪ واقعو رسول اللهﷺ جي زماني ۾ هجرت کان ڪجهه سال اڳ پيش آيو. جڏهن ماڻهن ڏٺو ته چنڊ ڦاٽي به ٽڪرا ٿي ويو ان وقت رسول اللهﷺ ماڻهن کي چيو ته ڏسو جهڙي طرح چنڊ ٽٽو آهي، اهڙي طرح سڄي دنيا ٽٽي ويندي ۽ پوءِ نئين دنيا ٺاهي ويندي.

اهڙي طرح جي واقعن ۾ وڏو سبق آهي، پر انهن واقعن مان سبق وٺڻ ان وقت ممڪن آهي، جڏهن ماڻهو پنهنجي عقل سان ان جي باري ۾ سوچي. جن ماڻهن مٿان سندن خواهشون غالب اچي ويون هجن، اهي انهن کي ڏسي چئي ڇڏيندا آهن ته ”هي جادو آهي“. اُهي انهن واقعن جو سبب پنهنجن خواهشن مطابق ڪري ان کي پاڻ لاءِ غيرمؤثر بڻائي ڇڏيندا آهن. اهڙن ماڻهن لاءِ وڏي ۾ وڏو دليل به بي معنيٰ آهي. اُهي ان وقت هوش ۾ ايندا جڏهن قيامت ظاهر ٿيئي ۽ سندن هوش ۾ اچڻ جو موقعو کسجي وڃي.

كَذَّبَتۡ قَبۡلَهُمۡ قَوۡمُ نُوۡحٍ فَكَذَّبُوۡا عَبۡدَنَا وَ قَالُوۡا مَجۡنُوۡنٌ وَّ ازۡدُجِرَ ﴿٩﴾ فَدَعَا رَبَّهٗۤ اَنِّیۡ
مَغۡلُوۡبٌ فَانۡتَصِرۡ ﴿١٠﴾ فَفَتَحۡنَاۤ اَبۡوَابَ السَّمَآءِ بِمَآءٍ مُّنۡهَمِرٍ ﴿١١﴾ۖ وَّ فَجَّرۡنَا الۡاَرۡضَ عُيُوۡنًا
فَالۡتَقَى الۡمَآءُ عَلٰۤى اَمۡرٍ قَدۡ قُدِرَ ﴿١٢﴾ۚ وَ حَمَلۡنٰهُ عَلٰى ذَاتِ اَلۡوَاحٍ وَّ دُسُرٍ ﴿١٣﴾ۙ تَجۡرِىۡ بِاَعۡيُنِنَا ۚ
جَزَآءً لِّمَنۡ كَانَ كُفِرَ ﴿١٤﴾ وَ لَقَدۡ تَّرَكۡنٰهَاۤ اٰيَةً فَهَلۡ مِنۡ مُّدَّكِرٍ ﴿١٥﴾ فَكَيۡفَ كَانَ عَذَابِىۡ وَ
نُذُرِ ﴿١٦﴾ وَلَقَدۡ يَسَّرۡنَا الۡقُرۡاٰنَ لِلذِّكۡرِ فَهَلۡ مِنۡ مُّدَّكِرٍ ﴿١٧﴾

انهن کان اڳ ۾ نوح جي قوم ڪوڙو ڀانئيو. انهن اسان جي ٻانهي کي ڪوڙو ڄاتو ۽ چيائون ته ديوانو آهي ۽ ڪيس جهڻڪيو ويو. پوءِ هن پنهنجي رب کي سڏيو ته آئون هيٺو آهيان تنهن ڪري تون بدلو وٺ. پوءِ اسان آسمان جا دروازا گهٽي وهندڙ پاڻي سان کولي ڇڏيا ۽ زمين جا چشما جاري ڪيا. پوءِ سمورو پاڻي گڏ ٿيو جنهن ڪم لاءِ (اُهو) مقرر هو ۽ اسان ڪيس هڪ تختن ۽ ميخن واري تي سوار ڪيو. اها اسان جي اکين آڏو هلندي رهي ان شخص جو بدلو وٺڻ لاءِ جنهن جي ناقدري ڪئي وئي ۽ ان کي اسان نشاني طور ڇڏي ڏنو. پوءِ ڪير آهي سوچڻ وارو. پوءِ ڪهڙو هو منهنجو عذاب ۽ منهنجو ڊيڄارڻ ۽ اسان قرآن کي نصيحت لاءِ آسان ڪيو آهي، پوءِ آهي ڪو نصيحت حاصل ڪرڻ وارو. ٩-١٧

---

حضرت نوحؑ جي قوم جا وڏا پنهنجن ڪوڙين عظمتن ۾ گم هئا. اهي حضرت نوحؑ جو اعتراف ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿي سگهيا. ان جو نتيجو اهو ٿيو جو اهي عذاب الاهي جي پڪڙ ۾ اچي ويا. انهن تي اهو عذاب خطرناڪ سيلاب جي صورت ۾ آيو. سڄي قوم پنهنجي آبادين سميت ان ۾ غرق ٿي وئي. البته حضرت نوحؑ ۽ ان جا ساٿي الله جي حڪم سان هڪ ٻيڙي ۾ سوار ٿي ويا. اها ٻيڙي هلندي هلندي جبل ارارات تي وڃي بيهي رهي.

ارارات ترڪي ۾ آهي، اهو اتي جو سيني کان بلند جبل آهي. ان جي چوٽي ١٦٨٥٣ فٽ بلند آهي. ڪجھ هوائي جهاز جي پائليٽن جو چوڻ آهي ته انهن ارارات جي برف جي چوٽي متان اڏامندي هڪ ٻيڙي جهڙي شيءِ برف ۾ دٻيل ڏٺي آهي. جيڪڏهن اهو صحيح هجي ته ان جو مطلب هي آهي ته موسيٰؑ واري فرعون جي لاش جهڙي طرح احرام جي اندر دفن هئي ۽ ١٩ صدي جي آخر ۾ ظاهر ٿي الله جي نشاني (يونس ٩٢) بڻجي وئي. اهڙي طرح ڪنهن وقت نوح جي ٻيڙي به دريافت ٿيندي ۽ ماڻهن لاءِ الله جي نشاني بڻجي ويندي.

كَذَّبَتۡ عَادٌ فَكَيۡفَ كَانَ عَذَابِىۡ وَ نُذُرِ ﴿١٨﴾ اِنَّاۤ اَرۡسَلۡنَا عَلَيۡهِمۡ رِيۡحًا صَرۡصَرًا فِىۡ يَوۡمِ
نَحۡسٍ مُّسۡتَمِرٍّ ﴿١٩﴾ۙ تَنۡزِعُ النَّاسَ ۙ كَاَنَّهُمۡ اَعۡجَازُ نَخۡلٍ مُّنۡقَعِرٍ ﴿٢٠﴾ فَكَيۡفَ كَانَ عَذَابِىۡ وَ
نُذُرِ ﴿٢١﴾ وَلَقَدۡ يَسَّرۡنَا الۡقُرۡاٰنَ لِلذِّكۡرِ فَهَلۡ مِنۡ مُّدَّكِرٍ ﴿٢٢﴾ ع ٢٢ ٨

۽ عاد ڪوڙو ڀانئيو، پوءِ ڪهڙو هو منهنجو عذاب ۽ منهنجو ڊيڄارڻ. اسان انهن تي هڪ سخت هوا نيا ڳي ڏينهن ۾ مٿن موڪلي، جنهن ماڻهن کي پٽي اڇلايو ڄڻ ته اهي پاڙان پٽيل کجي جا ٿڙ آهن، پوءِ ڪهڙو هو منهنجو عذاب ۽ منهنجو ڊيڄارڻ ۽ اسان قرآن کي نصيحت لاءِ آسان ڪيو، ته ڪير آهي نصيحت حاصل ڪرڻ وارو. ١٨-٢٢

---

عاد جي قوم جڏهن الله جي عذاب جي مستحق ٿي وئي ته الله انهن تي اهڙو تيز طوفان موڪليو جنهن ۾ ماڻهن جو زمين تي بيهڻ مشڪل ٿي ويو. تيز طوفان اهڙي طرح کين ڪٽي ڦٽي ڪري رهيو هو جو ڪو وڻ سان ٽڪرائيندو هو ۽ ڪو وڻ سان. ڪنهن جي ڇت سندس مٿان ڪري، هي ان ڳالهه جو مظاهرو هو ته انسان بلڪل بيوس آهي. الله جي مقابلي ۾ ان کي ڪنهن به قسم جو اختيار حاصل نه آهي.

كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ بِالنُّذُرِ ﴿٢٣﴾ فَقَالُوْٓا اَبَشَرًا مِّنَّا وَاحِدًا نَّتَّبِعُهٗٓ ۙ اِنَّآ اِذًا لَّفِيْ ضَلٰلٍ وَّ سُعُرٍ ﴿٢٤﴾
ءَاُلْقِيَ الذِّكْرُ عَلَيْهِ مِنْۢ بَيْنِنَا بَلْ هُوَ كَذَّابٌ اَشِرٌ ﴿٢٥﴾ سَيَعْلَمُوْنَ غَدًا مَّنِ الْكَذَّابُ
الْاَشِرُ ﴿٢٦﴾ اِنَّا مُرْسِلُوا النَّاقَةِ فِتْنَةً لَّهُمْ فَارْتَقِبْهُمْ وَ اصْطَبِرْ ﴿٢٧﴾ وَ نَبِّئْهُمْ اَنَّ الْمَآءَ
قِسْمَةٌۢ بَيْنَهُمْ ۚ كُلُّ شِرْبٍ مُّحْتَضَرٌ ﴿٢٨﴾ فَنَادَوْا صَاحِبَهُمْ فَتَعَاطٰى فَعَقَرَ ﴿٢٩﴾ فَكَيْفَ كَانَ
عَذَابِيْ وَ نُذُرِ ﴿٣٠﴾ اِنَّآ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ صَيْحَةً وَّاحِدَةً فَكَانُوْا كَهَشِيْمِ الْمُحْتَظِرِ ﴿٣١﴾ وَ لَقَدْ
يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿٣٢﴾

ثمود ڊيڄاريندڙن کي ڪوڙو ڀانئيو. پوءِ انهن چيو ڇا اسان پنهنجي ئي قوم جي هڪ ماڻهو جي چوڻ تي هلون. اسين انهيءَ مهل ضرور گمراهي ۽ چريائي ۾ هونداسون. ڇا اسان سڀني مان ان تي نصيحت نازل ٿي آهي، بلڪ هو ڪوڙو آهي، پاڻ کي پڏائيندڙ آهي، سڀاڻي اهي ڄاڻي وٺندا ته ڪوڙو ڪير آهي ۽ پڏائيندڙ ڪير. اسان ڏاچي کي موڪلڻ وارا آهيون سندس آزمائش لاءِ. پوءِ تون انهن جو انتظار ڪر ۽ صبر ڪر ۽ کين خبردار ڪر ته پاڻي سندن وچ ۾ ورهايل آهي، هرڪو واري تي حاضر ٿئي. پوءِ انهن پنهنجي ماڻهو کي سڏيو. پوءِ ان وار ڪيو ۽ ڏاچي کي ڪٽي ڇڏيائين. پوءِ ڪهڙو هو منهنجو عذاب ۽ منهنجو ڊيڄارڻ. پوءِ اسان انهن تي هڪ ڌڪاءُ (رڙ) موڪليو. پوءِ اهي لتاڙيل لوڙهي وانگر ٿي رهجي ويا ۽ اسان قرآن کي نصيحت لاءِ آسان ڪيو. پوءِ آهي ڪو نصيحت حاصل ڪرڻ وارو. ٢٣-٣٢

---

پيغمبر هميشه انسان جي روپ ۾ ايندو آهي، ان ڪري انسان ان کي سچائي نه ٿو سگهي، اهڙي طرح الله جي ڏاچي به ظاهر ۾ عام ڏاچي وانگر هئي، ان ڪري ثمود جا ماڻهو ان کي سڃاڻي نه سگهيا ۽ ان کي ماري ڇڏيو. موجوده دنيا ۾ ان ئي ڳالهه جو امتحان آهي، هتي ماڻهو کي بظاهر هڪ عام ماڻهو ۾ الله جي نمائندي کي ڏسڻو آهي. بظاهر هڪ عام ڏاچي ۾ الله جي ڏاچي کي سڃاڻي وٺڻو آهي، جيڪي ماڻهو ان امتحان ۾ ناڪام رهن، اهي ڪڏهن به هدايت جي واٽ کي نه لهندا.

قرآن جيتوڻيڪ گهري معنيٰ جو ڪتاب آهي، پر ان جي بيان جو انداز بلڪل واضح (Clarity) آهي. واضح هئڻ جي ڪري قرآن جو سمجهڻ هر ماڻهو لاءِ آسان ٿي ويو آهي، چاهي اُهو هڪ عام ماڻهو هجي يا هڪ اعليٰ تعليم يافته ماڻهو.

كَذَّبَتْ قَوْمُ لُوْطٍۭ بِالنُّذُرِ ﴿٣٣﴾ اِنَّآ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ حَاصِبًا اِلَّآ اٰلَ لُوْطٍ ؕ نَجَّيْنٰهُمْ
بِسَحَرٍ ﴿٣٤﴾ نِّعْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا ؕ كَذٰلِكَ نَجْزِيْ مَنْ شَكَرَ ﴿٣٥﴾ وَ لَقَدْ اَنْذَرَهُمْ بَطْشَتَنَا

فَتَمَارَوۡا بِالنُّذُرِ ﴿٣٦﴾ وَ لَقَدۡ رَاوَدُوۡهُ عَنۡ ضَيۡفِهٖ فَطَمَسۡنَاۤ اَعۡيُنَهُمۡ فَذُوۡقُوۡا عَذَابِيۡ وَ
نُذُرِ ﴿٣٧﴾ وَ لَقَدۡ صَبَّحَهُمۡ بُكۡرَةً عَذَابٌ مُّسۡتَقِرٌّ ﴿٣٨﴾ فَذُوۡقُوۡا عَذَابِيۡ وَ نُذُرِ ﴿٣٩﴾ وَ لَقَدۡ يَسَّرۡنَا
الۡقُرۡاٰنَ لِلذِّكۡرِ فَهَلۡ مِنۡ مُّدَّكِرٍ ﴿٤٠﴾ ع ٢ ١٨ ٩

لوط جي قوم ڊيڄاريندڙ کي ڪوڙو ڄاتو. اسان انهن تي پٿر وسائڻ واري هوا موڪلي رڳو لوط جي گهر وارا ان کان بچيا. اسان انهن کي بچائي ورتو اسر جي وقت پنهنجي فضل سان. اسان اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون ان کي جيڪو شڪر ڪري ۽ لوط کين اسان جي پڪڙ کان ڊيڄاريو. پوءِ انهن ڊيڄارڻ جي ڪري تڪرار ڪيو ۽ انهن سندس مهمانن کي ان کان وٺڻ لاءِ ڇڪتاڻ ڪئي. پوءِ اسان سندن اکين کي وڃايوسون ته چکو منهنجو عذاب ۽ منهنجو ڊيڄارڻ ۽ صبح سوير انهن تي عذاب پهتو جيڪو مقرر هو. هاڻي چکو منهنجو عذاب ۽ منهنجو ڊيڄارڻ ۽ اسان قرآن کي نصيحت لاءِ آسان ڪيو پوءِ ڪو آهي نصيحت حاصل ڪرڻ وارو. ٣٣-٤٠

---

حضرت لوط عليه السلام جي دعوت شروع ٿي ته ڪجھ ماڻهن سندس اعتراف ڪيو. اهي حق کي وڏو مجي پاڻ کي ان جي مقابلي ۾ ننڍو ڪرڻ تي راضي ٿي ويا. پر اڪثر ماڻهن ايئن نه ڪيو. اهي دليل جو اعتراف ڪرڻ جي بجاءِ ان کي رد ڪرڻ لاءِ ڪوڙا ۽ اجايا بحث ڪرڻ لڳا. حق جي دعوت جي مقابلي ۾ اهڙي قسم جو رويو تمام وڏو جرم آهي. تنهن ڪري اعتراف ڪرڻ وارن کي ڇڏي انڪار ڪرڻ وارن کي پڪڙيو ويو. هي هڪ مثال آهي ته هن دنيا ۾ حق جو انڪار ڪرڻ وارن لاءِ هلاڪت آهي ۽ حق جو اعتراف ڪرڻ وارن لاءِ نجات.

وَ لَقَدۡ جَآءَ اٰلَ فِرۡعَوۡنَ النُّذُرُ ﴿٤١﴾ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا كُلِّهَا فَاَخَذۡنٰهُمۡ اَخۡذَ عَزِيۡزٍ مُّقۡتَدِرٍ ﴿٤٢﴾

۽ فرعون جي قوم وٽ ڊيڄارڻ وارا آيا. انهن اسان جي سڀني نشانين کي ڪوڙو ڄاتو. تنهن ڪري اسان انهن کي هڪ غالب ۽ قوت واري جي پڪڙ وانگر پڪڙيو. ٤١-٤٢

---

فرعون پنهنجي وقت جو انتهائي طاقتور بادشاهه هو. پر حق جو انڪار ڪرڻ کان پوءِ هو الله جي نظر ۾ بي قيمت ٿي ويو. ان کان پوءِ هو هڪ عاجز انسان وانگر هلاڪ ڪيو ويو. هن دنيا ۾ حق جي پاسي بيهڻ وارو ماڻهو زورآور آهي ۽ حق جي خلاف بيهڻ وارو ماڻهو بي زور.

اَكُفَّارُكُمۡ خَيۡرٌ مِّنۡ اُولٰٓئِكُمۡ اَمۡ لَكُمۡ بَرَآءَةٌ فِي الزُّبُرِ ﴿٤٣﴾ اَمۡ يَقُوۡلُوۡنَ نَحۡنُ جَمِيۡعٌ
مُّنۡتَصِرٌ ﴿٤٤﴾ سَيُهۡزَمُ الۡجَمۡعُ وَ يُوَلُّوۡنَ الدُّبُرَ ﴿٤٥﴾ بَلِ السَّاعَةُ مَوۡعِدُهُمۡ وَ السَّاعَةُ اَدۡهٰى وَ
اَمَرُّ ﴿٤٦﴾ اِنَّ الۡمُجۡرِمِيۡنَ فِيۡ ضَلٰلٍ وَّ سُعُرٍ ﴿٤٧﴾ يَوۡمَ يُسۡحَبُوۡنَ فِي النَّارِ عَلٰى وُجُوۡهِهِمۡ ؕ نصف
ذُوۡقُوۡا مَسَّ سَقَرَ ﴿٤٨﴾

ڇا توهان جا منڪر انهن ماڻهن کان بهتر آهن يا توهان لاءِ آسماني ڪتابن ۾ معافي لکي وئي آهي. ڇا اهي چوندا آهن ته اسان اهڙي جماعت آهيون جيڪا غالب رهڻ واري آهي. جلد ئي هي جماعت شڪست کائيندي ۽ پٺي ڦيرائي ڀڄندي بلڪ قيامت سندن وعدي جو وقت آهي ۽ قيامت ڏاڍي سخت ۽ تمام ڪَڙي شيءِ آهي.

بيشڪ ڏوهاري ماڻهو گمراهي ۾ چرياڻپ ۾ آهن. جنهن ڏينهن اُهي منهن ڀر باهه ۾ گهليا ويندا. (چئبو) چکو مزو باهه جو. ٤٣-٤٨

---

اڳين پيغمبرن جو انڪار ڪرڻ وارن سان جيڪي واقعا پيش آيا انهن ۾ پيغمبر آخرالزمان جو انڪار ڪرڻ وارن لاءِ نصيحت هئي. پر انهن ان مان نصيحت نه ورتي، اهوئي سيني قومن جو حال آهي. پڌرين نشانين جي باوجود هر قوم پنهنجي پاڻ کي محفوظ ۽ آجو سمجهي وٺي ٿي. هر قوم ڀيهر اها ئي سرڪشي ڪندي آهي، جيڪا اڳين قومن ڪئي ۽ ان جي نتيجي ۾ اهي قومون خدائي عذاب جون مستحق ٿي ويون.

إِنَّا كُلَّ شَيْءٍ خَلَقْنٰهُ بِقَدَرٍ ﴿٤٩﴾ وَ مَآ اَمْرُنَآ اِلَّا وَاحِدَةٌ كَلَمْحٍۭ بِالْبَصَرِ ﴿٥٠﴾ وَ لَقَدْ اَهْلَكْنَآ
اَشْيَاعَكُمْ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿٥١﴾ وَ كُلُّ شَيْءٍ فَعَلُوْهُ فِي الزُّبُرِ ﴿٥٢﴾ وَ كُلُّ صَغِيْرٍ وَّ كَبِيْرٍ
ع ١٠ مُّسْتَطَرٌ ﴿٥٣﴾ اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّ نَهَرٍ ﴿٥٤﴾ فِيْ مَقْعَدِ صِدْقٍ عِنْدَ مَلِيْكٍ مُّقْتَدِرٍ ﴿٥٥﴾

اسان هر شيءِ کي هڪ مقرر اندازي سان بڻايو آهي ۽ اسان جي حڪم جي بجاآوري رڳو اک ڇنڀ وانگر آهي ۽ توهان جهڙين ڪيترين ئي ٽولين هلاڪ ڪري ڇڏيون سين، پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو ۽ جيڪو ڪجهه انهن ڪيو سڀ ڪتاب ۾ لکيل آهي ۽ هر ننڍي وڏي ڳالهه لکيل آهي. بيشڪ ڊڄڻ وارا باغن ۽ نهرن ۾ هوندا. اُهي سچي مجلس ۾ قدرت واري بادشاهه وٽ رهندا. ٤٩-٥٥

---

دنيا جي هر شيءِ جو هڪ مقرر ضابطو آهي. اهو اصول انسان جي معاملي ۾ به آهي. انسان کي هڪ مقرر ضابطي تحت موجوده دنيا ۾ عمل جو موقعو ڏنو ويو آهي ۽ اُن مقرر ضابطي تحت ئي انسان کي عمل جي مقام کان هٽائي سندس انجام جي مقام تي پهچايو ويندو آهي. خالق جي قدرت جيڪا موجوده ڪائنات ۾ ظاهر ٿي آهي، اها هي يقين ڏيارڻ لاءِ ڪافي آهي ته هي معاملو عين پنهنجي وقت تي بغير ڪنهن تاخير جي پيش ايندو. اهڙي طرح موجوده دنيا ۾ رڪارڊنگ جو نظام ان حقيقت جو اڳواٽ اعلان آهي ته هر هڪ سان عين اهو ئي معاملو ڪيو ويندو جيڪو هن جي عمل جي مطابق آهي. جيئن ته اهي ڳالهيون ان شخص کي سمجهه ۾ ايندڙيون جيڪو پنهنجي اندر هي مزاج رکندڙ هجي جو هو واقعن تي غور ڪري ۽ ظاهر مان گذري باطن ۾ لڪيل حقيقتن کي ڏسي سگهي.

موجوده دنيا امتحان جي دنيا آهي. هتي هر هڪ کي پوري آزادي حاصل آهي. ان ڪري موجوده دنيا ۾ اهو ممڪن آهي ته ماڻهو مقعد ڪذب (ڪوڙي مقام) تي ويهي نمايان ٿي سگهي. هو ڪوڙ جي بنياد تي عزت ۽ وڏي مرتبي جو مقام حاصل ڪري وٺي. پر آخرت ۾ ڪنهن جي لاءِ ايئن ڪرڻ ممڪن نه هوندو. آخرت ۾ عزت ۽ ڪاميابي رڳو انهن ماڻهن کي ملندي جيڪي مقعد صدق (سچائي جي مقام) تي ويٺا هجن. جن حقيقت ۾ پاڻ کي سچ جي بنياد تي کڙو ڪيو هجي، آخرت ۾ الله جي قدرت جو ڪامل ظهور ان ڳالهه جي ضمانت بڻجي ويندو جو اُتي سچائي جي مقام کان سواءِ ٻئي ڪنهن جاءِ تي ويهڻ ڪنهن جي ڪجهه به ڪم نه ايندو.

(٥٥) سُوْرَةُ الرَّحْمٰنِ مَدَنِيَّةٌ (٩٧) اٰيَاتُهَا ٧٨ رُكُوعَاتُهَا ٣

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلرَّحْمٰنُ ۙ﴿١﴾ عَلَّمَ الْقُرْاٰنَ ؕ﴿٢﴾ خَلَقَ الْاِنْسَانَ ۙ﴿٣﴾ عَلَّمَهُ الْبَيَانَ ﴿٤﴾ اَلشَّمْسُ وَ الْقَمَرُ
بِحُسْبَانٍ ۪﴿٥﴾ وَّ النَّجْمُ وَ الشَّجَرُ يَسْجُدٰنِ ﴿٦﴾ وَ السَّمَآءَ رَفَعَهَا وَ وَضَعَ الْمِيْزَانَ ۙ﴿٧﴾ اَلَّا
تَطْغَوْا فِي الْمِيْزَانِ ﴿٨﴾ وَ اَقِيْمُوا الْوَزْنَ بِالْقِسْطِ وَ لَا تُخْسِرُوا الْمِيْزَانَ ﴿٩﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

رحمان- قرآن سيکاريو. ان انسان کي پيدا ڪيو. ان کي ڳالهائڻ سيکاريو. سج ۽ چنڊ لاءِ هڪ حساب آهي ۽ ستارا ۽ وڻ سجدو ڪندا آهن ۽ هن آسمان کي بلند ڪيو ۽ ان ساهمي رکي، ته جيئن توهان تور ۾ زيادتي نه ڪريو ۽ انصاف سان ساهمي سڌي رکو ۽ تور ۾ نه گهٽايو. ١-٩

---

الله تعاليٰ انسان کي ٻڌايو، ڪيس ڳالهائڻ جي انوکي صلاحيت ڏني، جيڪا سڄي معلوم ڪائنات ۾ ڪنهن کي حاصل نه آهي. پوءِ انسان کان جيڪو عدل جو رويو گهربل هو، ان جو عملي نمونو الله تعاليٰ ڪائنات ۾ قائم ڪري ڇڏيو. انسان جي چوطرف سڄي دنيا عين ان ئي عدل جي اصول تي قائم آهي. جيڪو انسان کان الله تعاليٰ کي گهربل آهي ۽ قرآن ۾ ان عدل کي لفظي طور بيان ڪيو ويو آهي. قرآن خدائي عدل جو لفظي اظهار آهي ۽ ڪائنات خدائي عدل جو عملي اظهار. ٻانهن لاءِ ضروري آهي ته هو پنهنجي قول ۽ عمل کي ان ئي ساهمي ۾ ماپيندا رهن، اُهي نه وٺڻ ۾ بي انصافي ڪن ۽ نه وري ڏيڻ ۾.

وَ الْاَرْضَ وَضَعَهَا لِلْاَنَامِ ۙ﴿١٠﴾ فِيْهَا فَاكِهَةٌ ۪ۙ وَّ النَّخْلُ ذَاتُ الْاَكْمَامِ ۖ﴿١١﴾ وَ الْحَبُّ ذُو
الْعَصْفِ وَ الرَّيْحَانُ ۚ﴿١٢﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿١٣﴾ خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ صَلْصَالٍ
كَالْفَخَّارِ ۙ﴿١٤﴾ وَ خَلَقَ الْجَآنَّ مِنْ مَّارِجٍ مِّنْ نَّارٍ ۚ﴿١٥﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿١٦﴾ رَبُّ
الْمَشْرِقَيْنِ وَ رَبُّ الْمَغْرِبَيْنِ ۚ﴿١٧﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿١٨﴾ مَرَجَ الْبَحْرَيْنِ
يَلْتَقِيٰنِ ۙ﴿١٩﴾ بَيْنَهُمَا بَرْزَخٌ لَّا يَبْغِيٰنِ ۚ﴿٢٠﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢١﴾ يَخْرُجُ مِنْهُمَا
اللُّؤْلُؤُ وَ الْمَرْجَانُ ۚ﴿٢٢﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢٣﴾ وَ لَهُ الْجَوَارِ الْمُنْشَئٰتُ فِي الْبَحْرِ
كَالْاَعْلَامِ ۚ﴿٢٤﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢٥﴾ ع النصف ٢٥ ١١

۽ هن ماڻهن لاءِ زمين کي پکيڙيو. ان ۾ ميوا آهن ۽ کجين جا گوشا تهن ۾ بند آهن ۽ ٻُهه وارا ان به آهن ۽ خوشبو وارا گل به. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ- ان انسان کي پيدا ڪيو ٺڪر جهڙي وڄندڙ مٽي مان ۽ ان جنن کي باهه جي جڀي (شُعلي) مان پيدا ڪيو. پوءِ توهين پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين

نعمتن جو انڪار ڪندؤ. هو مالڪ آهي ٻنهي اوڀرن جو ۽ ٻنهي اولهن جو. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. هن ٻه دريا وهايا جيڪي پاڻ ۾ گڏجي وهن، ٻنهي جي وچ ۾ اوٽ آهي جو هڪ ٻئي جي حد نٽا ٽپن. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. انهن ٻنهي مان موتي ۽ مرجان نڪرندا آهن پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ۽ ان ئي جا آهن جهاز سمنڊ ۾ بيٺل جبلن وانگر اوچا. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ١٠-٢٥

---

هن دنيا جو وڏو حصو ستارن تي مشتمل آهي، جيڪي سراسر باهه آهن. جيڪي ان ئي باهه جي مادي مان ٺاهيا ويا آهن. پر انسان سان الله تعاليٰ جو اهو خاص معاملو آهي جو هن کي ”مٽي“ مان ٺاهيو آهي، جيڪا وسيع ڪائنات ۾ انتهائي نادر شيءِ آهي.

زمين جيڪا سڄي ڪائنات ۾ هڪ جدا ۽ انوکي شيءِ آهي. هتي اُهي سڀئي اسباب مناسب توازن ۽ تناسب سان مهيا ڪيا ويا آهن، جن جي ذريعي انسان جهڙي مخلوق لاءِ رهڻ ۽ پنهنجي تهذيب جي تعمير ڪرڻ ممڪن ٿي سگهي. انهن انتظامن ۾ هڪ انتظام زمين جي اوڀر ۽ اولهه جو هجڻ آهي. سياري جي موسم ۾ سج جو ابرڻ ۽ لهڻ جا مقام مختلف هوندا آهن ۽ گرمي جي موسم ۾ ان کان مختلف. اهڙي لحاظ کان زمين جا اوڀر ۽ اولهه ڪيترائي ٿي ويندا آهن. اهو موسمي فرق فضا ۾ زمين جي پنهنجي محور ۾ جهڪڻ (Axial tilt) جي ڪري پيدا ٿيندو آهي. زمين جو اهو جهڪڻ ڪائنات جو هڪ انتهائي انوکو واقعو آهي ۽ ان جي ذريعي بيشمار موسمي فائدا انسان کي حاصل ٿيندا آهن.

ناقابل قياس حدتائين وسيع ڪائنات ۾ انسان ۽ زمين جو سيني ڪان جدا هجڻ الله جي نعمت ۽ قدرت جو اهڙو عظيم واقعو آهي جو انسان ڪهڙي به طرح ان جو شڪر ادا ڪرڻ تي قادر نه آهي.

كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ ﴿٢٦﴾ وَّيَبْقٰى وَجْهُ رَبِّكَ ذُو الْجَلٰلِ وَالْاِكْرَامِ ﴿٢٧﴾ فَبِاَيِّ اٰلَاۤءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢٨﴾ يَسْـَٔلُهٗ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ كُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِيْ شَاْنٍ ﴿٢٩﴾ فَبِاَيِّ اٰلَاۤءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٠﴾

جيڪو به زمين تي آهي سو فنا ٿيڻ وارو آهي ۽ تنهنجي رب جي ذات باقي رهندي، عظمت واري ۽ عزت واري. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ان ئي کان گهرندا آهن جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن. سڀ ڪنهن ڏينهن اُهو ڪم ۾ آهي. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ٢٦-٣٠

---

دنيا جو مطالعو ٻڌائي ٿو ته هتي هر شيءِ کي آخرڪار فنا آهي. شين جي فاني هجڻ جي باوجود انهن جي موجودگي اهو ثابت ڪري ٿي ته انهن جو خالق ۽ منتظم غيرفاني آهي. جيڪڏهن هو غيرفاني نه هجي ها ته شين جو وجود ئي نه هجي ها يا جيڪڏهن هجي ها ته ايستائين انهن جو وجود مٽجي چڪو هجي ها.

دنيا جو مطالعو اهو به ٻڌائي ٿو ته دنيا جي ڪنهن شيءِ ۾ تخليق جي طاقت نه آهي. ان جو مطلب هي آهي ته شيون پنهنجي بقا لاءِ جن شين جون محتاج آهن، اُهي انهن جون پنهنجون پيدا ڪيل نه آهن. هي واقعو بيپهر خالق جي بي پناهه قدرت کي ٻڌائي ٿو. اهي حقيقتون ايتريون واضح آهن ته ڪنهن سنجيده ماڻهو لاءِ انهن جو انڪار ممڪن نه آهي.

الله جون نشانيون هن دنيا ۾ ايتريون گهڻيون آهن جو هڪ سنجيده انسان لاءِ انهن کي نظرانداز ڪرڻ ڪهڙي طرح بہ ممڪن نہ آهي. پر انسان ايترو ظالم آهي جو هو نشانين جي هجوم ۾ بہ نشانين جو انڪار ڪري ٿو.

سَنَفْرُغُ لَكُمْ اَيُّهَ الثَّقَلٰنِ ۚ﴿٣١﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٢﴾ يٰمَعْشَرَ الْجِنِّ وَ الْاِنْسِ اِنِ
اسْتَطَعْتُمْ اَنْ تَنْفُذُوْا مِنْ اَقْطَارِ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ فَانْفُذُوْا ؕ لَا تَنْفُذُوْنَ اِلَّا
بِسُلْطٰنٍ ۚ﴿٣٣﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٤﴾ يُرْسَلُ عَلَيْكُمَا شُوَاظٌ مِّنْ نَّارٍ ۙ۬ وَّ نُحَاسٌ فَلَا
تَنْتَصِرٰنِ ۚ﴿٣٥﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٦﴾

اسان جلد ئي فارغ ٿيڻ وارا آهيون توهان جي (حساب) لاءِ، اي ٻئي ڳرا قافلا! پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. اي جنن ۽ انسانن جا گروهہ جيڪڏهن توهان ڪان ٿي سگهي تہ توهان آسمانن ۽ زمين جي حدن مان نڪري وڃو تہ نڪري وڃو. توهان نہ ٿا نڪري سگهو بغير وڏي زور جي. پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. توهان تي باهہ جا شعلا ۽ دونهون موڪليو ويندو، پوءِ توهان پنهنجو بچا نہ ڪري سگهندو. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ٣١-٣٦

موجوده دنيا امتحان جي دنيا آهي، جيستائين امتحان جي مدت ختم نہ ٿي ٿئي تيستائين هر ماڻهو سرڪشي ڪرڻ لاءِ آزاد آهي، پر ڪامل آزادي جي باوجود ڪو جن يا انسان ان تي قادر نہ ٿو ٿي سگهي جو هو ڪائنات جي حدن مان ٻاهر نڪري وڃي. هي واقعو اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي تہ انسان پوري طرح الله جي قابو ۾ آهي. امتحان جي مدت ختم ٿيڻ تي جڏهن الله ماڻهن کي پڪڙيندو تہ ڪنهن لاءِ اِهو ممڪن نہ هوندو جو هو پاڻ کي بچائي سگهي.

فَاِذَا انْشَقَّتِ السَّمَآءُ فَكَانَتْ وَرْدَةً كَالدِّهَانِ ۚ﴿٣٧﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٨﴾ فَيَوْمَئِذٍ
لَّا يُسْـَٔلُ عَنْ ذَنْۢبِهٖۤ اِنْسٌ وَّ لَا جَآنٌّ ۚ﴿٣٩﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٠﴾ يُعْرَفُ الْمُجْرِمُوْنَ
بِسِيْمٰهُمْ فَيُؤْخَذُ بِالنَّوَاصِيْ وَ الْاَقْدَامِ ۚ﴿٤١﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٢﴾ هٰذِهٖ جَهَنَّمُ
وقف لازم الَّتِيْ يُكَذِّبُ بِهَا الْمُجْرِمُوْنَ ۘ﴿٤٣﴾ يَطُوْفُوْنَ بَيْنَهَا وَ بَيْنَ حَمِيْمٍ اٰنٍ ۚ﴿٤٤﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا
ع ٢ ١٢ تُكَذِّبٰنِ ۧ﴿٤٥﴾

پوءِ جڏهن آسمان ڦاٽندو تہ چمڙي وانگر سرخ ٿي پوندو. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. پوءِ ان ڏينهن ڪنهن انسان يا جن کان سندس گناهہ بابت نہ پڇيو ويندو. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ڏوهاري پنهنجن شڪلين مان سڃاتا ويندا، پوءِ ڪين پيشاني جي وارن ۽ پيرن کان پڪڙيو ويندو. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. هي جهنم آهي جنهن کي گنهگارن ڪوڙ ڀانئيو. هو ان جي وچ ۾ ٿهڪندڙ پاڻي ۾ پيا ڦرندا. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ٣٧-٤٥

انڪار ۽ سرڪشي هميشه بيخوفي جي ڪري هوندي آهي. قيامت جي هيبتناڪ گهڙي جڏهن سامهون ايندي ته ڏوهارين کي پنهنجي سرڪشي وسري ويندي. موجوده دنيا ۾ جنهن حق کي هو واضح دليلن جي باوجود مڃڻ لاءِ تيار نه ٿيندا هئا، قيامت ۾ ان کي بغير ڪنهن بحث جي مڃي وٺندا، پر ان وقت جو مڃڻ ڪنهن جي ڪجهه ڪم نه ايندو. الله جي قدرت کي غيب ۾ مڃڻ معتبر آهي، نه ورِي ان جي ظاهر ٿيڻ کان پوءِ.

وَ لِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ جَنَّتٰنِ ﴿٤٦﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٧﴾ ذَوَاتَآ اَفْنَانٍ ﴿٤٨﴾ فَبِاَيِّ
اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٩﴾ فِيْهِمَا عَيْنٰنِ تَجْرِيٰنِ ﴿٥٠﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥١﴾ فِيْهِمَا مِنْ
كُلِّ فَاكِهَةٍ زَوْجٰنِ ﴿٥٢﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٣﴾ مُتَّكِـِٕيْنَ عَلٰى فُرُشٍۭ بَطَآىِٕنُهَا مِنْ
اِسْتَبْرَقٍ ؕ وَ جَنَا الْجَنَّتَيْنِ دَانٍ ﴿٥٤﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٥﴾ فِيْهِنَّ قٰصِرٰتُ
الطَّرْفِ ۙ لَمْ يَطْمِثْهُنَّ اِنْسٌ قَبْلَهُمْ وَ لَا جَآنٌّ ﴿٥٦﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٧﴾ كَاَنَّهُنَّ
الْيَاقُوْتُ وَ الْمَرْجَانُ ﴿٥٨﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٩﴾ هَلْ جَزَآءُ الْاِحْسَانِ اِلَّا
الْاِحْسَانُ ﴿٦٠﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦١﴾

جيڪو شخص پنهنجي رب آڏو بيهڻ کان ڊنو ان لاءِ ٻه باغ آهن. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ٻئي باغ گهاٽا ٽارين وارا آهن. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. انهن ۾ ٻه چشما وهن ٿا. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ٻنهي باغن ۾ هر ميوي جون ٻه جنسون آهن. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. اهڙن وڇاڻن تي وهاڻن تي ٽيڪ ڏئي ويٺا هوندا جن جا استر پٽ (ريشم) جا هوندا ۽ ٻنهي باغن جو ميوو جهڪيل هوندو. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. انهن ۾ هيٺ نگاهه ڪرڻ واريون عورتون هونديون جن کي انهن کان اڳ نه ڪي ڪنهن ماڻهو ۽ نه ڪي جن ڇُهيو آهي. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. اهي اهڙيون هونديون جڻ ياقوت ۽ مرجان. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ڀلائي جو بدلو ڀلائي کان سواءِ ٻيو ڇا آهي. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ٤٦-٦١

---

وسيع تقسيم جي لحاظ کان جنت جا ٻه وڏا درجا آهن. هنن آيتن ۾ ٻن باغن واري جنهن جنت جو ذڪر آهي، اها اول درجي واري جنت آهي. ان جنت ۾ شاهاڻي درجي جون نعمتون هونديون آهن. اعليٰ نعمتون انهن ماڻهن کي ملنديون جن تي الله جو فڪر ايترو غالب هو جو موجوده دنيا ۾ ئي انهن خود کي الله جي آڏو پاڻ کي جهڪائي ورتو. انهن احسان جي درجي ۾ الله سان تعلق جو ثبوت ڏنو.

وَ مِنْ دُوْنِهِمَا جَنَّتٰنِ ﴿٦٢﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦٣﴾ مُدْهَآمَّتٰنِ ﴿٦٤﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا
تُكَذِّبٰنِ ﴿٦٥﴾ فِيْهِمَا عَيْنٰنِ نَضَّاخَتٰنِ ﴿٦٦﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦٧﴾ فِيْهِمَا فَاكِهَةٌ وَّ نَخْلٌ وَّ

رُمَّانٌ ﴿٦٨﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦٩﴾ فِيْهِنَّ خَيْرٰتٌ حِسَانٌ ﴿٧٠﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا
تُكَذِّبٰنِ ﴿٧١﴾ حُوْرٌ مَّقْصُوْرٰتٌ فِي الْخِيَامِ ﴿٧٢﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٧٣﴾ لَمْ يَطْمِثْهُنَّ اِنْسٌ
قَبْلَهُمْ وَلَا جَآنٌّ ﴿٧٤﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٧٥﴾ مُتَّكِـِٕيْنَ عَلٰى رَفْرَفٍ خُضْرٍ وَّعَبْقَرِيٍّ
ع ٣ حِسَانٍ ﴿٧٦﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٧٧﴾ تَبٰرَكَ اسْمُ رَبِّكَ ذِي الْجَلٰلِ وَالْاِكْرَامِ ﴿٧٨﴾

۽ انهن ٻن باغن کان سواءِ ٻيا ٻه باغ آهن. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ٻئي ڏاڍا ڇهڇ ساوا آهن. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. انهن ۾ ٻه چشما آهن جيڪي ڦوهارن وانگر (وهندڙ) هوندا. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. انهن ۾ ميوا ۽ ڪجون ۽ ڏاڙهون هوندا. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. انهن ۾ تمام سهڻيون ۽ سگهوريون عورتون هونديون. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. حورون خيمن ۾ رهڻ واريون. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. انهن کي انهن (بهشتين) کان اڳ نه ڪي ماڻهو ۽ نه ڪي ڪنهن جن ڇهيو آهي. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ سبز وهاڻن ۽ نهايت نادر ۽ نفيس غاليچن تي ٽيڪ ڏئي ويٺل هوندا. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. وڏو بابرڪت آهي تنهنجي رب جو نالو وڏائي وارو ۽ عظمت وارو. ٦٢-٧٨

---

هنن آيتن ۾ ٻئي جنت جو ذڪر آهي. اُها ٻه پهرين جنت وانگر ٻن باغن واري هوندي. هي جنت عام پرهيزگارن لاءِ هوندي. موجوده دنيا جي نعمتن جي لحاظ کان هن جنت جون نعمتون ٻه جيتوڻيڪ ناقابل قياس حدتائين گهٽيون هونديون، پر اول ذڪر ڪيل جنت جي مقابلي ۾ هي ٻئي درجي جي جنت هوندي. هي جنتون ان خالق مالڪ جي شان مطابق هونديون، جنهن جي عظمت ۽ قدرت جا نمونا موجوده دنيا ۾ ظاهر ٿيا آهن ۽ جن کي ڏسڻ وارا اڄ ئي ڏسي رهيا آهن.

ركوعاتها ٣ | (٥٦) سُوْرَةُ الْوَاقِعَةِ مَكِّيَّةٌ (٤٦) | اٰياتها ٩٦

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اِذَا وَقَعَتِ الْوَاقِعَةُ ﴿١﴾ لَيْسَ لِوَقْعَتِهَا كَاذِبَةٌ ﴿٢﴾ خَافِضَةٌ رَّافِعَةٌ ﴿٣﴾ اِذَا رُجَّتِ الْاَرْضُ
رَجًّا ﴿٤﴾ وَّبُسَّتِ الْجِبَالُ بَسًّا ﴿٥﴾ فَكَانَتْ هَبَآءً مُّنْۢبَثًّا ﴿٦﴾ وَّكُنْتُمْ اَزْوَاجًا ثَلٰثَةً ﴿٧﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

جڏهن ٿيڻ واري ٿي پوندي. جنهن جي اچڻ ۾ ڪوبه ڪوڙ نه آهي. اها جهڪي ڪرڻ واري آهي، بلند ڪرڻ واري آهي. جڏهن زمين سخت ڌوڏبي ۽ جبل ٽٽي ذرا ذرا ٿي ويندا. پوءِ اُهي اڏاريل دز وانگر ٿيندا ۽ توهان ٽي ٽوليون ٿي ويندؤ. ١-٧

---

موجوده دنيا ۾ ماڻهو ڏسي ٿو ته هن کي آزادي حاصل آهي ته جيڪو چاهي ڪري. ان ڪري آخرت جي پڪڙ واري ڳالهه ان جي ذهن ۾ نٿي ويهي. پر ٻئي دنيا جو ٺهڻ ايترو ئي ممڪن آهي جيترو

موجوده دنيا جو ٻڌڻ. جڏهن اُهو وقت ايندو تہ سڄو نظام پلٽجي ويندو. مٿيان ماڻهو هيٺ ٿي ويندا ۽ هيٺيان ماڻهو مٿي ڏسڻ ۾ ايندا. ان وقت انسان پنهنجي پنهنجي عمل جي لحاظ کان ٽن ٽولن ۾ تقسيم ٿي ويندا، السابقون، اصحاب اليمين ۽ اصحاب الشمال.

فَاَصۡحٰبُ الۡمَيۡمَنَةِ ۙ مَاۤ اَصۡحٰبُ الۡمَيۡمَنَةِ ﴿٨﴾ وَ اَصۡحٰبُ الۡمَشۡـَٔمَةِ ۙ مَاۤ اَصۡحٰبُ الۡمَشۡـَٔمَةِ ﴿٩﴾
وَ السّٰبِقُوۡنَ السّٰبِقُوۡنَ ﴿١٠﴾ اُولٰٓئِكَ الۡمُقَرَّبُوۡنَ ﴿١١﴾ فِيۡ جَنّٰتِ النَّعِيۡمِ ﴿١٢﴾ ثُلَّةٌ مِّنَ
الۡاَوَّلِيۡنَ ﴿١٣﴾ وَ قَلِيۡلٌ مِّنَ الۡاٰخِرِيۡنَ ﴿١٤﴾ عَلٰى سُرُرٍ مَّوۡضُوۡنَةٍ ﴿١٥﴾ مُّتَّكِـِٕيۡنَ عَلَيۡهَا
مُتَقٰبِلِيۡنَ ﴿١٦﴾ يَطُوۡفُ عَلَيۡهِمۡ وِلۡدَانٌ مُّخَلَّدُوۡنَ ﴿١٧﴾ بِاَكۡوَابٍ وَّ اَبَارِيۡقَ ۙ وَ كَاۡسٍ مِّنۡ
مَّعِيۡنٍ ﴿١٨﴾ لَّا يُصَدَّعُوۡنَ عَنۡهَا وَ لَا يُنۡزِفُوۡنَ ﴿١٩﴾ وَ فَاكِهَةٍ مِّمَّا يَتَخَيَّرُوۡنَ ﴿٢٠﴾ وَ لَحۡمِ طَيۡرٍ
مِّمَّا يَشۡتَهُوۡنَ ﴿٢١﴾ وَ حُوۡرٌ عِيۡنٌ ﴿٢٢﴾ كَاَمۡثَالِ اللُّؤۡلُؤِ الۡمَكۡنُوۡنِ ﴿٢٣﴾ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿٢٤﴾
لَا يَسۡمَعُوۡنَ فِيۡهَا لَغۡوًا وَّ لَا تَاۡثِيۡمًا ﴿٢٥﴾ اِلَّا قِيۡلًا سَلٰمًا سَلٰمًا ﴿٢٦﴾

پوءِ ساڄي پاسي وارا، ڪهڙا نہ چڱا هوندا. ساڄي پاسي وارا. ۽ کاٻي پاسي وارا ڪهڙا تہ بدحال هوندا. کاٻي پاسي وارا. ۽ اڳتي وڌي وڃڻ وارا تہ اڳتي ئي وڌي وڃڻ وارا آهن. اهي مقرب آهن. نعمتن وارن باغن ۾ هوندا گهڻا پهرين مان هوندا ۽ ٿورا پوئين مان. (سون سان) اُڻيل تختن تي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٽيڪ ڏئي ويٺل هوندا. هميشہ رهڻ وارا نينگر انهن وٽ پيا ايندا ويندا، آب خورن ۽ ڪوزن سان ۽ صاف شراب مان (ڀريل) پيالا ڪٽي ان سان نہ مٿي ۾ سور پوندو ۽ نہ عقل ۾ فتور ايندو ۽ ميوا جيڪي پسند ڪن ۽ پکين جو گوشت جنهن قسم مان گهرن ۽ وڏين اکين واريون حورون ڄڻ ڍڪيل موتين جا داڻا، جيڪي عمل ڪيائون تنهن جي بدلي ۾ اُتي هو نہ ڪا اجائي بڪ ۽ نہ گناهہ جي ڳالھ ٻڌندا. پر هرڪو سلام سلام پيو چوندو. ٨-٢٦

السابقون اهي ماڻهو آهن جيڪي جڏهن بہ حق سامهون اچي تہ فوراً ان کي قبول ڪري وٺن ٿا. اهي بنا ڪنهن تاخير جي پاڻ کي حق جي حوالي ڪري ڇڏين ٿا. حضرت عائشہ رضي الله عنها چوندي آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: ڇا توهان ڄاڻو ٿا تہ قيامت جي ڏينهن ڪير ماڻهو الله جي سايي ۾ سيني کان پهرين جڳهہ لهندا. ماڻهن چيو الله ۽ ان جو رسول وڌيڪ بهتر ڄاڻي ٿو. پاڻ ﷺ فرمايو تہ اهي ماڻهو جن جي سامهون جڏهن حق آيو تہ انهن ان کي قبول ڪري ورتو ۽ جڏهن انهن کان حق گهريو ويو تہ انهن ڏنو ۽ ٻين جي معاملي ۾ انهن اهو ئي فيصلو ڪيو، جيڪو فيصلو انهن خود پاڻ لاءِ ڪيو هو. (الذين اذا اعطوا الحق قبلوه واذا سئلوه بذلوه وحكموا الناس كحكمهم لانفسهم، تفسير ابن ڪثير الجزا الرابع صفحہ ٢٨٣)

دعوت جي اول دؤر ۾ جيڪي ماڻهو اڳيان وڌي اسلام قبول ڪندا آهن، انهن لاءِ اسلام هڪ دريافت هوندو آهي. انهن کان بعد جيڪي سندن نسلون آهن، اهي اسلام کي وراثت طور لهنديون آهن. دريافت ۽ وراثت جو اهوئي فرق جيڪو اول جماعت جو مرتبو ٻئي جماعت کان بلند ڪري ڇڏيندو آهي. قدرتي طورتي ٻي جماعت تعداد ۾ گهٽي هوندي آهي ۽ پهرين جماعت گهڻ. آخرت ۾ ٻي جماعت لاءِ جيڪڏهن عام انعام آهن تہ پهرين جماعت لاءِ شاهاڻا انعام.

وَ اَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ ۬ۙ مَاۤ اَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ ؕ﴿٢٧﴾ فِيْ سِدْرٍ مَّخْضُوْدٍ ۙ﴿٢٨﴾ وَّ طَلْحٍ مَّنْضُوْدٍ ۙ﴿٢٩﴾ وَّ ظِلٍّ
مَّمْدُوْدٍ ۙ﴿٣٠﴾ وَّ مَآءٍ مَّسْكُوْبٍ ۙ﴿٣١﴾ وَّ فَاكِهَةٍ كَثِيْرَةٍ ۙ﴿٣٢﴾ لَّا مَقْطُوْعَةٍ وَّ لَا مَمْنُوْعَةٍ ۙ﴿٣٣﴾ وَّ فُرُشٍ
مَّرْفُوْعَةٍ ؕ﴿٣٤﴾ اِنَّاۤ اَنْشَاْنٰهُنَّ اِنْشَآءً ۙ﴿٣٥﴾ فَجَعَلْنٰهُنَّ اَبْكَارًا ۙ﴿٣٦﴾ عُرُبًا اَتْرَابًا ۙ﴿٣٧﴾ لِّاَصْحٰبِ
ع الْيَمِيْنِ ؕ﴿٣٨﴾ ثُلَّةٌ مِّنَ الْاَوَّلِيْنَ ۙ﴿٣٩﴾ وَ ثُلَّةٌ مِّنَ الْاٰخِرِيْنَ ؕ﴿٤٠﴾

۽ ساڄي پاسي وارا، ڪهڙي (چڱي) حال ۾ هوندا. بنا ڪنڊن وارين ٻيرن ۾ ۽ ڦر سان پريل ڪيلن ۾ ۽ ڊگهن پاڇن ۾ ۽ (هيٺ) وهندڙ پاڻي ۾ ۽ گهڻن ميون ۾ جيڪي نه کٽندا ۽ نه ڪا (ڪين) روڪ ٽوڪ هوندي ۽ اوچا وڇاڻا. اسان انهن عورتن کي هڪ خاص نموني تي پيدا ڪيو آهي. پوءِ ڪين ڪنواريون بڻايوسون، من موهيندڙ ۽ هم عمر ساڄي پاسي وارن لاءِ گهڻي جماعت پهرين مان آهي ۽ گهڻي جماعت پوئين مان آهي. ٢٧-٤٠

اصحاب اليمين (ساڄي پاسي وارا) مان مراد عام جنت وارا آهن. انهن ۾ اهي سڀئي ماڻهو شامل آهن جيڪي پنهنجي عقيدي ۽ ڪردار جي لحاظ کان صالح هئا. انهن کي ايماني لحاظ کان جيتوڻيڪ اعليٰ شعوري درجو حاصل نه هو، پر اهي الله ۽ رسول سان مخلص هئا ۽ پنهنجي زندگي ۾ انصاف ۽ رحم جي وات تي قائم رهيا. ان جماعت ۾ اول دور جا به ڪافي ماڻهو هوندا ۽ آخري دور جا به ڪافي ماڻهو.

وَ اَصْحٰبُ الشِّمَالِ ۬ۙ مَاۤ اَصْحٰبُ الشِّمَالِ ؕ﴿٤١﴾ فِيْ سَمُوْمٍ وَّ حَمِيْمٍ ۙ﴿٤٢﴾ وَّ ظِلٍّ مِّنْ يَّحْمُوْمٍ ۙ﴿٤٣﴾
لَّا بَارِدٍ وَّ لَا كَرِيْمٍ ﴿٤٤﴾ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَبْلَ ذٰلِكَ مُتْرَفِيْنَ ۚ﴿٤٥﴾ وَ كَانُوْا يُصِرُّوْنَ عَلَى الْحِنْثِ
الْعَظِيْمِ ۚ﴿٤٦﴾ وَ كَانُوْا يَقُوْلُوْنَ ۬ۙ اَئِذَا مِتْنَا وَ كُنَّا تُرَابًا وَّ عِظَامًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ ۙ﴿٤٧﴾ اَوَ
اٰبَآؤُنَا الْاَوَّلُوْنَ ﴿٤٨﴾ قُلْ اِنَّ الْاَوَّلِيْنَ وَ الْاٰخِرِيْنَ ۙ﴿٤٩﴾ لَمَجْمُوْعُوْنَ ۬ۙ اِلٰى مِيْقَاتِ يَوْمٍ
مَّعْلُوْمٍ ﴿٥٠﴾ ثُمَّ اِنَّكُمْ اَيُّهَا الضَّآلُّوْنَ الْمُكَذِّبُوْنَ ۙ﴿٥١﴾ لَاٰكِلُوْنَ مِنْ شَجَرٍ مِّنْ زَقُّوْمٍ ۙ﴿٥٢﴾
فَمَالِـُٔوْنَ مِنْهَا الْبُطُوْنَ ۚ﴿٥٣﴾ فَشٰرِبُوْنَ عَلَيْهِ مِنَ الْحَمِيْمِ ۚ﴿٥٤﴾ فَشٰرِبُوْنَ شُرْبَ الْهِيْمِ ؕ﴿٥٥﴾
هٰذَا نُزُلُهُمْ يَوْمَ الدِّيْنِ ؕ﴿٥٦﴾

۽ کاٻي پاسي وارا ڪهڙا بُرا آهن. کاٻي پاسي وارا باهه ۾ ۽ ٽهڪندڙ پاڻي ۾ هوندا ۽ ڪاري دونهين جي پاڇي ۾ هوندا. نه ٿڌو ۽ نه عزت وارو. بيشڪ اهي ان کان اڳ ۾ آسوده هئا ۽ وڏي گناهه تي اصرار ڪندا هئا ۽ چوندا هئا جڏهن اسان مري وينداسون ۽ اسان مٽي ۽ هڏا ٿي ويندا سون ته ڇا اسان وري اٿاريا ويندا سون ۽ ڇا اسان جا اڳيان ابا ڏاڏا به. چؤ اڳيان ۽ پويان وارا سڀئي هڪ مقرر ڏينهن جي وقت گڏ ڪيا ويندا. پوءِ اوهين اي گمراهو (۽) ڪوڙ پائيندڙو! اوهين ٿوهر جي وڻ مان کائيندو. پوءِ ان سان پنهنجو پيٽ ڀريندو. پوءِ مٿان ٽهڪندڙ پاڻي پيئندو، پوءِ اڃايل اٺن وانگر پيئندو. اها سندن مهماني هوندي انصاف جي ڏينهن. ٤١-٥٦

اصحاب الشمال (کاٻي پاسي وارا) مان مراد اهي ماڻهو آهن جن لاءِ عذاب جو فيصلو ڪيو ويندو. دنيا ۾ انهن کي جيڪي شيون مليون هيون، انهن کين دوکي ۾ وڌو. انهن الله کان سواءِ ٻين شين

كي پنهنجي توجهه جو مرڪز بڻائي رکيو. جيڪو هن دنيا ۾ ڪنهن انسان جو سڀني کان وڏو جرم آهي. اهي آخرت کي اهڙي طرح وساري وينا جڻ اُها اچڻ واري ئي نه آهي. اهڙا ماڻهو فيصلي جي ڏينهن سخت عذاب جا مستحق قرار ڏنا ويندا.

نَحْنُ خَلَقْنٰكُمْ فَلَوْ لَا تُصَدِّقُوْنَ ﴿۵۷﴾ اَفَرَءَيْتُمْ مَّا تُمْنُوْنَ ﴿۵۸﴾ ءَاَنْتُمْ تَخْلُقُوْنَهٗۤ اَمْ نَحْنُ
الْخٰلِقُوْنَ ﴿۵۹﴾ نَحْنُ قَدَّرْنَا بَيْنَكُمُ الْمَوْتَ وَ مَا نَحْنُ بِمَسْبُوْقِيْنَ ﴿۶۰﴾ عَلٰۤى اَنْ نُّبَدِّلَ
اَمْثَالَكُمْ وَ نُنْشِئَكُمْ فِيْ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۶۱﴾ وَ لَقَدْ عَلِمْتُمُ النَّشْاَةَ الْاُوْلٰى فَلَوْ لَا
تَذَكَّرُوْنَ ﴿۶۲﴾ اَفَرَءَيْتُمْ مَّا تَحْرُثُوْنَ ﴿۶۳﴾ ءَاَنْتُمْ تَزْرَعُوْنَهٗۤ اَمْ نَحْنُ الزّٰرِعُوْنَ ﴿۶۴﴾ لَوْ نَشَآءُ
لَجَعَلْنٰهُ حُطَامًا فَظَلْتُمْ تَفَكَّهُوْنَ ﴿۶۵﴾ اِنَّا لَمُغْرَمُوْنَ ﴿۶۶﴾ بَلْ نَحْنُ مَحْرُوْمُوْنَ ﴿۶۷﴾
اَفَرَءَيْتُمُ الْمَآءَ الَّذِيْ تَشْرَبُوْنَ ﴿۶۸﴾ ءَاَنْتُمْ اَنْزَلْتُمُوْهُ مِنَ الْمُزْنِ اَمْ نَحْنُ
الْمُنْزِلُوْنَ ﴿۶۹﴾ لَوْ نَشَآءُ جَعَلْنٰهُ اُجَاجًا فَلَوْ لَا تَشْكُرُوْنَ ﴿۷۰﴾ اَفَرَءَيْتُمُ النَّارَ الَّتِيْ
تُوْرُوْنَ ﴿۷۱﴾ ءَاَنْتُمْ اَنْشَاْتُمْ شَجَرَتَهَاۤ اَمْ نَحْنُ الْمُنْشِـُٔوْنَ ﴿۷۲﴾ نَحْنُ جَعَلْنٰهَا تَذْكِرَةً وَّ
ع ١٥ مَتَاعًا لِّلْمُقْوِيْنَ ﴿۷۳﴾ فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ ﴿۷۴﴾

اسان توهان کي پيدا ڪيو آهي، پوءِ (وري جيارڻ کي) ڇو نه سچ پائيندا آهيو. ڇا توهان غور ڪيو ان شيءِ تي جيڪا (مني) ٽپڪائيندا آهيون. ڇا توهان ان (ٻار) کي خلقيو ٿا يا اسان خلقڻ وارا آهيون. اسان توهان ۾ موت مقرر ڪيو آهي ۽ اسان ان کان عاجز نه آهيون جو توهان جي جاءِ تي توهان جهڙا پيدا ڪريون ۽ توهان کي اهڙي (صورت) ۾ پيدا ڪريون، جنهن کي توهان ڄاڻندا ئي نه هجو ۽ توهان پهرين پيدائش کي ڄاڻو ٿا. پوءِ ڇو نصيحت نه ٿا وٺو. ڇا توهان غور ڪيو ان شيءِ تي جيڪا توهان پوکيندا آهيو. ڇا توهان ان کي ڦٽائيندا آهيو يا اسين ڦٽائڻ وارا آهيون. جيڪڏهن اسان گهرون ته ان کي ذرو ذرو ڪري ڇڏيون. پوءِ توهان ڳالهيون ڪندا رهجي وڃو ۽ چئو ته اسان ٽوٽي ۾ پئجي وياسون. بلڪ اسان بلڪل محروم ٿي وياسون. ڇا توهان غور ڪيو ان پاڻي تي جيڪو توهان پيئندا آهيو. ڇا توهان ان کي ڪڪرن مان لاهيندا آهيو يا اسان هيٺ لاهڻ وارا آهيون. جيڪڏهن اسان گهرون ته ان کي سخت ڪارو ڪري ڇڏيون. پوءِ توهان شڪر ڇو نه ٿا ڪريو. ڇا توهان غور ڪريو ٿا. ان باهه تي جيڪا توهان ٻاريندا آهيو. ڇا توهان پيدا ڪيو آهي ان جي وڻ کي يا اسان پيدا ڪرڻ وارا آهيون. اسان ان (وڻ) کي نصيحت بڻايو آهي ۽ مسافرن جي فائدي جي هڪ شيءِ. تنهن ڪري تون پنهنجي عظيم رب جي نالي جي تسبيح ڪر. ٥٧-٧٤

ماءُ جي پيٽ مان انسان جو پيدا ٿيڻ. زمين مان پوک جو پيدا ٿيڻ. مينهن جو پاڻي وسڻ. ٻرڻ وارين شين مان باهه جو حاصل ٿيڻ. اهي سڀ شيون براهه راست الله طرفان آهن. ماڻهو کي انهن جي ملڻ تي الله جو شڪرگذار هئڻ گهرجي. انهن کي الله جو عطيو سمجهڻ گهرجي نه وري پنهنجي عمل جو نتيجو.

انهن واقعن تي غور ڪرڻ واري لاءِ بيشمار نصيحتون آهن. انهن ۾ موجوده زندگي کان پوءِ ٻي زندگي جو ثبوت آهي. اهڙي طرح انهن ۾ هي نشاني به آهي ته جنهن انهن شين کي ڏنو آهي، اهو ڪسي به

سگهي ٿو. پوءِ ان جو هڪ نمونو پاڻي جو معاملو آهي. پاڻي جو ذخيرو سمنڊ جي صورت ۾ آهي، جنهن جو پاڻي کارو آهي. پاڻي جو تقريباً ٩٨ سيڪڙو حصو سمنڊ ۾ آهي. سمنڊ جي پاڻي جو ١/١٠ حصو لوڻ هوندو آهي. اهو الله جي قانون جو ڪرشمو آهي ته سمنڊ مان پاڻي جڏهن ٻاڦ بڻجي مٿي ويندو آهي ته رڳو خالص پاڻي مٿي ويندو آهي ۽ لوڻ هيٺ رهجي ويندو آهي. حقيقت اها آهي ته مينهن جو عمل پاڻي کي لوڻ کان پاڪ ڪرڻ (Desalination) جو هڪ عظيم قدرتي عمل آهي. جيڪڏهن اهو قدرتي اهتمام نه هجي ته سڄي جو سڄو پاڻي اهڙو ئي کارو ٿي وڃي جهڙو سمنڊ جو پاڻي هوندو آهي. جبلن تي ڄميل برف ۽ دريائن ۾ وهڻ وارو پاڻي سڀ جو سڀ سخت کارو ٿي وڃي ۽ زمين ۾ پاڻي جي ذخيرن جي باوجود مٺو پاڻي حاصل ڪرڻ انسانيت لاءِ ناقابل حل مسئلو بڻجي وڃي. ماڻهو جيڪڏهن ان کي سوچي ته ان جو سينو الله جي ساراهه جي جذبي کان ڀرجي وڃي.

فَلَآ اُقۡسِمُ بِمَوٰقِعِ النُّجُوۡمِ ﴿۷۵﴾ وَ اِنَّهٗ لَقَسَمٌ لَّوۡ تَعۡلَمُوۡنَ عَظِيۡمٌ ﴿۷۶﴾ اِنَّهٗ لَقُرۡاٰنٌ كَرِيۡمٌ ﴿۷۷﴾ فِىۡ كِتٰبٍ مَّكۡنُوۡنٍ ﴿۷۸﴾ لَّا يَمَسُّهٗۤ اِلَّا الۡمُطَهَّرُوۡنَ ﴿۷۹﴾ تَنۡزِيۡلٌ مِّنۡ رَّبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۸۰﴾ اَفَبِهٰذَا الۡحَدِيۡثِ اَنۡتُمۡ مُّدۡهِنُوۡنَ ﴿۸۱﴾ وَ تَجۡعَلُوۡنَ رِزۡقَكُمۡ اَنَّكُمۡ تُكَذِّبُوۡنَ ﴿۸۲﴾

پوءِ آئون قسم کڻان ٿو تارن جي ڪِرڻ جي جاءِ جو ۽ جيڪڏهن توهان غور ڪريو ته اُهو تمام وڏو قسم آهي. بيشڪ هي هڪ عزت وارو قرآن آهي. هڪ محفوظ ڪتاب ۾ ان کي اُهي ڇهندا آهن جيڪي پاڪ بڻايا ويا آهن، نازل ڪيل آهي رب العالمين طرفان. پوءِ ڇا توهان ان ڪلام سان بي پرواهي ٿا ڪريو ۽ توهان پنهنجو حصو اهوئي رکو ٿا جو ان کي ڪوڙو ٿا سمجهو. ٧٥-٨٢

---

مواقع جو لفظ موقعي جو جمع آهي. ان جي معنيٰ آهي ڪِرڻ جي جاءِ. تنهن ڪري مينهن پوڻ جي جاءِ کي مواقع القطر چيو ويندو آهي. هتي ستارن جي مواقع مان مراد ستارن جو مدار (Orbits) آهن. ڪائنات ۾ بيشمار نهايت وڏا وڏا ستارا آهن. اهي بلڪل صحيح طور تي پنهنجي پنهنجي مدار ۾ چڪر ڏئي رهيا آهن.

اهو واقعو حيرت انگيز حدتائين عظيم آهي. جيڪو ماڻهو ان خلائي نظام تي غور ڪندو، اُهو هي ميڄڻ تي مجبور هوندو ته هن ڪائنات جو خالق ناقابل قياس حدتائين عظيم آهي. پوءِ اهڙي خالق طرفان جيڪو ڪتاب اچي اهو به يقيناً عظيم هوندو ۽ قرآن بيشڪ اهڙو ئي هڪ عظيم ڪتاب آهي.

قرآن جهڙي طرح لوح محفوظ ۾ هو، ٺيڪ اهڙي طرح اهو فرشتن جي ذريعي پيغمبر تائين پهتو ۽ اڄ تائين اهو اهڙي ئي طرح محفوظ آهي. قديم زماني جو ڪو به ڪتاب اهڙو نه آهي، جيڪو قرآن وانگر ڪامل طور تي محفوظ هجي. اهو واقعو خود هن ڪتاب جي عظمت جو ثبوت آهي، اهڙي ڪتاب مان جيڪو ماڻهو هدايت حاصل نه ڪري، ان جي محرومي جي ڪا حد نه آهي.

فَلَوۡلَاۤ اِذَا بَلَغَتِ الۡحُلۡقُوۡمَ ﴿۸۳﴾ وَ اَنۡتُمۡ حِيۡنَئِذٍ تَنۡظُرُوۡنَ ﴿۸۴﴾ وَ نَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡكُمۡ وَ لٰكِنۡ لَّا تُبۡصِرُوۡنَ ﴿۸۵﴾ فَلَوۡلَاۤ اِنۡ كُنۡتُمۡ غَيۡرَ مَدِيۡنِيۡنَ ﴿۸۶﴾ تَرۡجِعُوۡنَهَاۤ اِنۡ كُنۡتُمۡ

صٰدِقِيۡنَ ﴿۸۷﴾ فَاَمَّاۤ اِنۡ كَانَ مِنَ الۡمُقَرَّبِيۡنَ ﴿۸۸﴾ فَرَوۡحٌ وَّ رَيۡحَانٌ ۙ وَّ جَنَّتُ نَعِيۡمٍ ﴿۸۹﴾ وَ اَمَّاۤ اِنۡ
كَانَ مِنۡ اَصۡحٰبِ الۡيَمِيۡنِ ﴿۹۰﴾ فَسَلٰمٌ لَّكَ مِنۡ اَصۡحٰبِ الۡيَمِيۡنِ ﴿۹۱﴾ وَ اَمَّاۤ اِنۡ كَانَ مِنَ
الۡمُكَذِّبِيۡنَ الضَّآلِّيۡنَ ﴿۹۲﴾ فَنُزُلٌ مِّنۡ حَمِيۡمٍ ﴿۹۳﴾ وَّ تَصۡلِيَةُ جَحِيۡمٍ ﴿۹۴﴾ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ حَقُّ
الۡيَقِيۡنِ ﴿۹۵﴾ فَسَبِّحۡ بِاسۡمِ رَبِّكَ الۡعَظِيۡمِ ﴿۹۶﴾

پوءِ ڇو نہ جنهن مهل ساهہ نڙگهٽ وٽ پهچي ٿو ۽ توهان انهي مهل ڏسي رهيا هوندا آهيو ۽ اسان توهان جي نسبت ان ماڻهو جي ويجها هوندا آهيون، پر توهان نہ ٿا ڏسو. پوءِ ڇو نہ، جيڪڏهن توهان لاچار نہ آهيو تہ روح کي ڇو نہ ٿا واپس موٽايو، جيڪڏهن توهان سچا آهيو. پوءِ جيڪڏهن اهو مقرب ۾انهن مان هوندو تہ راحت آهي ۽ چڱي روزي آهي ۽ نعمتن جا باغ آهن ۽ جيڪڏهن اُهو ساڄي پاسي وارن مان هوندو تہ تنهنجي لاءِ سلامتي آهي. جو تون ساڄي پاسي وارن مان آهين ۽ جيڪڏهن اهو ڪوڙ ڀائيندڙن گمراهن مان هوندو تہ ٽهڪندڙ پاڻي سان مهماني آهي ۽ جهنم ۾ داخل ٿيڻ آهي. بيشڪ هي برحق خبر آهي. تنهن ڪري تون پنهنجي عظيم رب جي نالي جي تسبيح ڪر. ٨٣-٩٦

موت جو واقعو ان ڳالهہ جو آخرت ثبوت آهي تہ انسان خدائي طاقتن جي آڏو بلڪل بيوس آهي تہ هر ماڻهو هڪ مقرر وقت تي مري ويندو ۽ ڪير بہ نہ آهي جيڪو ان کي موت جي فرشتي کان بچائي سگهي. اهڙي حالت ۾ ماڻهو کي سيني کان وڌيڪ موت کان بعد اچڻ وارن مسئلن جي باري ۾ فڪرمند هئڻ گهرجي. موت کان اڳ جي زندگي ۾ جن ماڻهن جنت وارا عمل ڪيا آهن، انهن کي موت کان پوءِ جي زندگي ۾ جنت ملندي. ان جي ابتڙ جيڪي ماڻهو دنيا ۾ الله کان پري هئا، اهي آخرت ۾ بہ الله جي رحمتن کان پري رکيا ويندا. انهن جي مهماني لاءِ اتي گرم پاڻي آهي ۽ انهن جي رهڻ لاءِ اتي باهہ جي دنيا آهي.

## (٥٧) سُوۡرَةُ الۡحَدِيۡدِ مَدَنِيَّةٌ (٩٤)

اٰياتها ٢٩ — رڪوعاتها ٤

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ ۚ وَ هُوَ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ ﴿۱﴾ لَهٗ مُلۡكُ السَّمٰوٰتِ وَ
الۡاَرۡضِ ۚ يُحۡىٖ وَ يُمِيۡتُ ۚ وَ هُوَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ﴿۲﴾ هُوَ الۡاَوَّلُ وَ الۡاٰخِرُ وَ الظَّاهِرُ وَ
الۡبَاطِنُ ۚ وَ هُوَ بِكُلِّ شَىۡءٍ عَلِيۡمٌ ﴿۳﴾ هُوَ الَّذِىۡ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ فِىۡ سِتَّةِ اَيَّامٍ
ثُمَّ اسۡتَوٰى عَلَى الۡعَرۡشِ ؕ يَعۡلَمُ مَا يَلِجُ فِى الۡاَرۡضِ وَ مَا يَخۡرُجُ مِنۡهَا وَ مَا يَنۡزِلُ مِنَ
السَّمَآءِ وَ مَا يَعۡرُجُ فِيۡهَا ؕ وَ هُوَ مَعَكُمۡ اَيۡنَ مَا كُنۡتُمۡ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ بَصِيۡرٌ ﴿۴﴾ لَهٗ
مُلۡكُ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ ؕ وَ اِلَى اللّٰهِ تُرۡجَعُ الۡاُمُوۡرُ ﴿۵﴾ يُوۡلِجُ الَّيۡلَ فِى النَّهَارِ وَ يُوۡلِجُ
النَّهَارَ فِى الَّيۡلِ ؕ وَ هُوَ عَلِيۡمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوۡرِ ﴿۶﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

الله جي تسبيح ڪندي آهي هر شيءِ جيڪا آسمانن ۽ زمين ۾ آهي ۽ اُهو غالب حڪمت وارو آهي. آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي ان ئي جي آهي. هو جيئاريندو آهي ۽ ماريندو آهي ۽ هو هر شيءِ تي قادر آهي. اُهو ئي اول به آهي ۽ آخر به ۽ ظاهر به آهي ۽ ڳجهو به ۽ اهو هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. اهوئي آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪيو. پوءِ هو عرش تي متوجهه ٿيو. هو ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهه زمين جي اندر داخل ٿئي ٿو ۽ جيڪو ان مان نڪري ٿو ۽ جيڪو ڪجهه آسمان مان لهندو آهي ۽ جيڪو منجهس چڙهي ويندو آهي ۽ هو توهان سان گڏ آهي جتي به توهان هجو ۽ الله ڏسي ٿو جيڪو ڪجهه توهان ڪندا آهيو. آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي ان ئي جي آهي ۽ الله ڏانهن سڀ ڪم ورايا وڃن ٿا. هو رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪندو آهي ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪندو آهي ۽ هو سينن وارو ڳجهه ڄاڻي ٿو. ١-٦

---

ڪائنات زبان حال سان پنهنجي خالق جي جن صفتن جي خبر ڏئي رهي آهي، قرآن ۾ انهن صفتن کي لفظن جي صورت ڏني وئي آهي. هتي جڏهن هڪ شيءِ ظاهر ٿيندي آهي ته اُها عمل جي زبان ۾ چئي رهي هوندي آهي ته ڪو ان جو ظاهر ڪرڻ وارو آهي ۽ جڏهن اها شيءِ ختم ٿيندي آهي ته اِهو ان ڳالهه جو عملي اعلان ڪري رهي هوندي آهي ته ڪو ان کي ختم ڪرڻ وارو آهي. حقيقت اها آهي ته ڪائنات جيڪڏهن الله جي عملي تسبيح آهي ته قرآن الله جي لفظي تسبيح.

آمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ اَنْفِقُوْا مِمَّا جَعَلَكُمْ مُّسْتَخْلَفِيْنَ فِيْهِ ؕ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ
وَ اَنْفَقُوْا لَهُمْ اَجْرٌ كَبِيْرٌ ﴿٧﴾ وَ مَا لَكُمْ لَا تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ ۚ وَ الرَّسُوْلُ يَدْعُوْكُمْ لِتُؤْمِنُوْا
بِرَبِّكُمْ وَ قَدْ اَخَذَ مِيْثَاقَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٨﴾ هُوَ الَّذِيْ يُنَزِّلُ عَلٰى عَبْدِهٖۤ اٰيٰتٍ
بَيِّنٰتٍ لِّيُخْرِجَكُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ وَ اِنَّ اللّٰهَ بِكُمْ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿٩﴾ وَ مَا لَكُمْ
اَلَّا تُنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ لِلّٰهِ مِيْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ لَا يَسْتَوِيْ مِنْكُمْ مَّنْ
اَنْفَقَ مِنْ قَبْلِ الْفَتْحِ وَ قٰتَلَ ؕ اُولٰٓئِكَ اَعْظَمُ دَرَجَةً مِّنَ الَّذِيْنَ اَنْفَقُوْا مِنْۢ بَعْدُ وَ
قٰتَلُوْا ؕ وَ كُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الْحُسْنٰى ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿١٠﴾ ع ١٧

ايمان آڻيو الله ۽ سندس رسول تي ۽ خرچ ڪريو ان مان جنهن ۾ هن توهان کي امين (نائب) مقرر ڪيو آهي. پوءِ جن توهان مان ايمان آندو ۽ خرچ ڪيو تن لاءِ وڏو اجر آهي ۽ توهان کي ڇا ٿيو آهي جو توهان الله تي ايمان نٿا آڻيو. حالانڪ رسول توهان کي سڏي ٿو ته توهين پنهنجي رب تي ايمان آڻيو ۽ هو (الله) توهان کان عهد وٺي چڪو آهي، جيڪڏهن توهان مؤمن آهيو. اُهو ئي آهي جيڪو پنهنجي ٻانهي تي پڌريون آيتون نازل ڪندو آهي، ته جيئن توهان کي اونداهين مان روشني ڏانهن وٺي اچي ۽ الله توهان تي شفقت ڪرڻ وارو مهربان آهي ۽ توهان کي ڇا ٿيو آهي جو توهان الله جي راهه ۾ خرچ نٿا ڪريو، حالانڪ آسمانن ۽ زمين جي ميراث الله جي ئي آهي. توهان مان جيڪي ماڻهو فتح کان بعد خرچ ڪن ۽ جهاد ڪن، اُهي انهن ماڻهن جي برابر نٿا ٿي سگهن جن فتح کان اڳ خرچ ڪيو ۽ جهاد ڪيو ۽ الله سيني سان چڱائي جو وعدو ڪيو آهي. الله باخبر آهي جيڪو ڪجهه توهان ڪريو ٿا. ٧-١٠

---

اسلام جي دعوت جڏهن شروع ٿيندي آهي ته اُها پنهنجي ابتدائي مرحلي ۾ ”آيات بينات“ کي دعوت جو عنوان بڻائيندي آهي. ٻيو دور اُهو آهي جڏهن اسلام کي ماحول ۾ ”فتح“ حاصل ٿي وڃي. شروع جي دور ۾ صرف اُهي ماڻهو اسلام لاءِ قرباني ڏيڻ جو حوصلو ڪندا آهن، جيڪي دليل جي سطح تي ڪنهن شيءِ کي ڏسڻ جي صلاحيت رکندا هجن. پر جڏهن اسلام کي فتح ۽ غلبو حاصل ٿي وڃي ته هر ماڻهو ان جي عظمت کي ڏسي وٺندو آهي ۽ هر ماڻهو اڳيان وڌي اسلام لاءِ جان ۽ مال پيش ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندو آهي.

ابتدائي دور ۾ اسلام لاءِ خرچ ڪرڻ وارن کي خرچ ڪرڻ تي ڪو دنياوي بدلو نه ٿو ملي، جڏهن ته ٻئي دور ۾ اهو حال ٿي ويندو آهي جو ماڻهو جيترو خرچ ڪري ٿو ڪيس مختلف شڪلن ۾ ان جو انعام هن ئي دنيا ۾ ملي ٿو وڃي. اِهو ئي سبب آهي جو ٻنهي قسم جي ماڻهن جو درجو الله وٽ هڪ جهڙو نه آهي.

مَنْ ذَا الَّذِیْ یُقْرِضُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا فَیُضٰعِفَهٗ لَهٗ وَ لَهٗۤ اَجْرٌ كَرِیْمٌ ﴿۱۱﴾ یَوْمَ تَرَی
الْمُؤْمِنِیْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتِ یَسْعٰی نُوْرُهُمْ بَیْنَ اَیْدِیْهِمْ وَ بِاَیْمَانِهِمْ بُشْرٰىكُمُ الْیَوْمَ
جَنّٰتٌ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِیْنَ فِیْهَا ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِیْمُ ﴿۱۲﴾ یَوْمَ یَقُوْلُ
الْمُنٰفِقُوْنَ وَ الْمُنٰفِقٰتُ لِلَّذِیْنَ اٰمَنُوا انْظُرُوْنَا نَقْتَبِسْ مِنْ نُّوْرِكُمْ ۚ قِیْلَ ارْجِعُوْا
وَرَآءَكُمْ فَالْتَمِسُوْا نُوْرًا ؕ فَضُرِبَ بَیْنَهُمْ بِسُوْرٍ لَّهٗ بَابٌ ؕ بَاطِنُهٗ فِیْهِ الرَّحْمَةُ وَ ظَاهِرُهٗ
مِنْ قِبَلِهِ الْعَذَابُ ﴿۱۳﴾ یُنَادُوْنَهُمْ اَلَمْ نَكُنْ مَّعَكُمْ ؕ قَالُوْا بَلٰی وَ لٰكِنَّكُمْ فَتَنْتُمْ
اَنْفُسَكُمْ وَ تَرَبَّصْتُمْ وَ ارْتَبْتُمْ وَ غَرَّتْكُمُ الْاَمَانِیُّ حَتّٰی جَآءَ اَمْرُ اللّٰهِ وَ غَرَّكُمْ بِاللّٰهِ
الْغَرُوْرُ ﴿۱۴﴾ فَالْیَوْمَ لَا یُؤْخَذُ مِنْكُمْ فِدْیَةٌ وَّ لَا مِنَ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا ؕ مَاْوٰىكُمُ النَّارُ ؕ هِیَ
مَوْلٰىكُمْ ؕ وَ بِئْسَ الْمَصِیْرُ ﴿۱۵﴾

ڪير آهي جيڪو الله کي قرض ڏئي چڱو قرض ته (الله) اُهو (قرض) ان کي وڌائي ڏئي ۽ هن لاءِ باعزت اجر آهي. جنهن ڏينهن تون مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن کي ڏسندين جو سندن نور انهن جي اڳيان ۽ انهن جي ساڄي پاسن کان پيو ڊوڙندو. اڄوڪي ڏينهن توهان کي خوشخبري هجي باغن جي جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون. توهان انهن ۾ سدائين رهندؤ. اها وڏي ڪاميابي آهي. جنهن ڏينهن منافق مرد ۽ منافق عورتون ايمان وارن کي چوندا ته ترسو توهان جي نور مان روشني وٺون. چيو ويندو ته توهين پنهنجي پٺ تي موٽي وڃو ۽ پوءِ ڪا روشني ڳوليو. پوءِ سندن وچ ۾ هڪ ڀت ڪڙي ڪئي ويندي، جنهن کي دروازو هوندو. انهيءَ جي اندرين پاسي رحمت هوندي ۽ ان جي ٻاهرين پاسي عذاب. اُهي (منافق) مؤمنن کي سڏيندا ته ڇا اسان توهان سان گڏ نه هئاسون، هو چوندا ته هائو، پر توهان پاڻ کي فتني ۾ وڌو ۽ انتظار ۾ رهيا ۽ شڪ ۾ پيل هئا ۽ ڪوڙين اميدن توهان کي ٺوڳي ۾ رکيو، ايستائين جو الله جو فيصلو اچي ويو ۽ توهان کي دوکيباز (شيطان) توهان کي الله جي معاملي ۾ دوکو ڏنو. پوءِ اڄ نه توهان کان ڪو فديو قبول ڪيو ويندو ۽ نه انهن ماڻهن کان جن ڪفر ڪيو. توهان جو ٺڪاڻو باهه آهي. اهائي توهان جي رفيق آهي ۽ اها موٽڻ جي بڇڙي جاءِ آهي. ١١-١٥

سچو اسلام جڏهن ماحول ۾ اجنبي هوندو آهي، ان وقت سچي اسلام ڏانهن وڌڻ پاڻ ڪي آزمائش ۾ وجهڻ جي هم معنيٰ هوندو آهي. ان وقت اسلام جي حقيقت تي شڪ جا پردا پيل هوندا آهن. ان وقت اسلام جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ ايئن لڳندو آهي جڻ گهاٽي جو سودو ڪرڻ. شڪ ۽ مونجهاري جي فضا هر طرف ڪان ماڻهن جو گهيرو ڪيل هوندي آهي، الله جي وعدن جي مقابلي ۾ ماڻهن ڪي پنهنجي سامهون جي فائدن تي وڌيڪ يقين هوندو آهي. اهڙي وقت ۾ پنهنجي جان ۽ مال ڪي اسلام جي حوالي ڪرڻ جو فيصلو زبردست قوت گهري ٿو. اهڙي وقت ۾ اُهو ماڻهو ئي اڳيان وڌڻ جي همت ڪري سگهي ٿو جيڪو عقل ۽ بصيرت جي طاقت سان شين ڪي سڃاڻ جي صلاحت رکندو هجي.

جيڪي ماڻهو دنيا ۾ ان بصيرت جو ثبوت ڏين. انهن جي بصيرت قيامت جي ڏينهن انهن لاءِ روشني بڻجي ويندي. جنهن سان اُهي اُتي جي مشڪل مرحلن ۾ پنهنجو سفر طي ڪري سگهندا. جيڪا بصيرت دنيا ۾ سندن رهنما بڻي، اِها ئي بصيرت آخرت ۾ بہ الله جي مدد سان انهن جي لاءِ رهنما جو ڪم انجام ڏيندي.

اَلَمْ يَاْنِ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَنْ تَخْشَعَ قُلُوْبُهُمْ لِذِكْرِ اللّٰهِ وَ مَا نَزَلَ مِنَ الْحَقِّ ۙ وَ لَا يَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلُ فَطَالَ عَلَيْهِمُ الْاَمَدُ فَقَسَتْ قُلُوْبُهُمْ ؕ وَ كَثِيْرٌ مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿۱۶﴾ اِعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ يُحْيِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ قَدْ بَيَّنَّا لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿۱۷﴾

ڇا ايمان وارن لاءِ اهو وقت نہ آيو آهي جو انهن جا دل الله جي نصيحت جي اڳيان جهڪي وڃن ۽ ان حق جي اڳيان جيڪو نازل ٿي چڪو آهي ۽ اهي انهن ماڻهن وانگر نہ ٿي وڃن جن کي اڳ ۾ ڪتاب ڏنو ويو هو. پوءِ مٿن ڊگهي مدت گذري تہ انهن جا دل سخت ٿي ويا ۽ انهن ۾ اڪثر نافرمان آهن. ڄاڻي وٺو تہ الله زمين کي زندگي ڏي ٿو، ان جي موت کان بعد. اسان توهان لاءِ نشانيون بيان ڪري ڇڏيون آهن تہ جيئن توهان سمجهو. ۱۶-۱۷

---

هي آيتون جنهن وقت نازل ٿيون، ان وقت اسلام جيتوڻيڪ هڪ طاقتور مادي قوت نہ بڻيو هو، پر دليل ۽ تنبيهه جو زور ان وقت بہ پوري طرح ان سان موجود هو. اهڙي حالت ۾ جيڪو ماڻهو دليل جو زور محسوس نہ ڪري ۽ الله جي تنبيهه جنهن کي لوڏي نہ ڇڏي، اهو پنهنجي عمل سان صرف اهو ثبوت ڏئي رهيو آهي تہ هو بي حسي جي مرض ۾ مبتلا آهي. مٽي ۾ پاڻي ملڻ کان پوءِ تازگي ۽ شادابي پيدا ٿي ويندي آهي. پوءِ انسان جيڪڏهن واضح دليلن کي ٻڌي بہ نہ سجاڳ ٿئي تہ اها کهڙي نہ عجيب ڳالهہ هوندي.

اِنَّ الْمُصَّدِّقِيْنَ وَ الْمُصَّدِّقٰتِ وَ اَقْرَضُوا اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا يُّضٰعَفُ لَهُمْ وَ لَهُمْ اَجْرٌ كَرِيْمٌ ﴿۱۸﴾ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَ رُسُلِهٖۤ اُولٰٓئِكَ هُمُ الصِّدِّيْقُوْنَ ۖۗ وَ الشُّهَدَآءُ عِنْدَ رَبِّهِمْ ؕ
لَهُمْ اَجْرُهُمْ وَ نُوْرُهُمْ ؕ وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَاۤ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿۱۹﴾ ع ٢ ۹ ١٨

بيشڪ صدقو ڏيڻ وارا مرد ۽ صدقو ڏيڻ واريون عورتون ۽ جن ماڻهن الله کي قرض ڏنو چڱو قرض اهو انهن کي وڌائي ڏبو ۽ انهن لاءِ سڳورو اجر آهي ۽ جن ماڻهن ايمان آندو الله تي ۽ ان جي رسول تي، اهي ئي ماڻهو

پنهنجي رب وٽ صديق ۽ شهيد آهن. انهن لاءِ سندن اجر ۽ سندن نور آهي ۽ جن ماڻهن انڪار ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڀانئيو اُهي دوزخي آهن. ١٨-١٩

---

الله جي رضا لاءِ ٻين کي مال ڏيڻ ۽ دين جي ضرورتن تي خرچ ڪرڻ تمام وڏو عمل آهي. جيڪي مرد ۽ عورتون اهڙي طرح خرچ ڪن، اُهي ئي آهن جن پنهنجي ايمان جو ثبوت ڏنو. انهن حق جي خلاف شڪ شبهي جي ماحول ۾ حق کي سڃاتو. ان ڪري سندن اهو عمل آخرت ۾ سندن لاءِ روشني بڻجي ويندو. اهي الله جي نشانين کي مڃڻ وارا قرار ڏنا ويندا. ڪين الله جي شاهد جو درجو ڏنو ويندو. يعني آخرت جي عدالت ۾ ماڻهن جا احوال ٻڌائڻ وارا.

اِعْلَمُوْٓا اَنَّمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا لَعِبٌ وَّ لَهْوٌ وَّ زِيْنَةٌ وَّ تَفَاخُرٌۢ بَيْنَكُمْ وَ تَكَاثُرٌ فِي الْاَمْوَالِ وَ
الْاَوْلَادِ ؕ كَمَثَلِ غَيْثٍ اَعْجَبَ الْكُفَّارَ نَبَاتُهٗ ثُمَّ يَهِيْجُ فَتَرٰىهُ مُصْفَرًّا ثُمَّ يَكُوْنُ
حُطَامًا ؕ وَ فِي الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ۙ وَّ مَغْفِرَةٌ مِّنَ اللّٰهِ وَ رِضْوَانٌ ؕ وَ مَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ
اِلَّا مَتَاعُ الْغُرُوْرِ ﴿٢٠﴾ سَابِقُوْٓا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ جَنَّةٍ عَرْضُهَا كَعَرْضِ السَّمَآءِ وَ
الْاَرْضِ ۙ اُعِدَّتْ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَ رُسُلِهٖ ؕ ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ
ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿٢١﴾

ڄاڻي وٺو ته دنيا جي زندگي رڳو هڪ راند ۽ تماشو آهي ۽ زيب ۽ زينت ۽ پاڻ ۾ فخر ڪرڻ ۽ مال ۽ اولاد ۾ هڪ ٻئي کان وڌڻ جي ڪوشش ڪرڻ آهي، ان مينهن وانگر آهي جنهن جو فصل ڪڙمين کي سٺو لڳي ٿو، پوءِ اهو سُڪي وڃي ٿو، پوءِ تون ان کي پيلو ٿيل ڏسين ٿو، پوءِ اهو ڀُري وڃي ٿو ۽ آخرت ۾ سخت عذاب آهي ۽ الله کان بخشش ۽ رضامندي به. ۽ دنيا جي زندگي رڳو ٺڳي جو سامان آهي، ان کان سواءِ ٻيو ڪجھ نه آهي. ڊوڙو پنهنجي رب جي بخشش ڏانهن ۽ اهڙي جنت ڏانهن جنهن جي ويڪر آسمان ۽ زمين جي ويڪر برابر آهي. اُها انهن ماڻهن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي جيڪي الله ۽ سندس رسول تي ايمان آڻين. اهو الله جو فضل آهي. هو ان کي ڏي ٿو جنهن کي چاهي ٿو ۽ الله وڏي فضل وارو آهي. ٢٠-٢١

---

دنيا ۾ الله آخرت جون مثالون قائم ڪيون آهن. انهن ۾ هڪ مثال پوک جو آهي، پاڻي سان جڏهن پوک تيار ٿيندي آهي ته ٿورن ڏينهن لاءِ ان جو سرسبز رنگ نهايت وڻندڙ هوندو آهي. پر جلد ئي گرم هوائون هلنديون آهن ته سڄي ساوڪ اچانڪ ختم ٿي ويندي آهي ۽ پوءِ ان کي ڪٽي پور پور ڪري ڇڏبو آهي.

اهڙي طرح موجوده دنيا جي رونق به ڪجھ ڏينهن لاءِ آهي. ماڻهو ان کي حاصل ڪري دوکي ۾ پئجي ويندو آهي. هو ان کي سڀ ڪجھ سمجهي وٺندو آهي، پر ان کان پوءِ جڏهن ان کي الله ڏانهن موٽايو ويندو ته ان تي واضح ٿي ويندو ته دنيا جي رونقن جي ڪا حقيقت نه هئي.

مَآ اَصَابَ مِنْ مُّصِيْبَةٍ فِي الْاَرْضِ وَ لَا فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مِّنْ قَبْلِ اَنْ نَّبْرَاَهَا ؕ
اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ ﴿٢٢﴾ۚ لِّكَيْلَا تَاْسَوْا عَلٰى مَا فَاتَكُمْ وَ لَا تَفْرَحُوْا بِمَآ اٰتٰىكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ

لَا يُحِبُّ كُلَّ مُخْتَالٍ فَخُوْرِ ﴿٢٣﴾ الَّذِيْنَ يَبْخَلُوْنَ وَ يَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبُخْلِ ؕ وَ مَنْ
يَّتَوَلَّ فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿٢٤﴾

ڪا مصيبت نه زمين ۾ ايندي آهي ۽ نه توهان جي جانن ۾ پر اُها هڪ ڪتاب ۾ لکيل آهي ان کان اڳ ۾ جو اسان ان (مصيبت) کي پيدا ڪريون بيشڪ اُهو الله جي لاءِ آسان آهي ته جيئن توهان غم نه ڪريو ان تي جيڪو توهان جي هٿن مان ويو ۽ نه ان شيءِ تي فخر ڪريو جيڪو هن توهان کي عطا ڪيو ۽ الله ڪنهن هٺيلي ۽ فخر ڪرڻ واري کي پسند نه ٿو ڪري، جيڪي بخل ڪندا آهن ۽ ٻين کي به بخل جي تعليم ڏيندا آهن ۽ جيڪو شخص منهن موڙيندو ته الله بي پرواهه ساراهيل آهي. ٢٢-٢٤

دنيا ۾ ڪنهن شيءِ جو ملڻ يا ڪنهن شيءِ جو کسجي وڃڻ، ٻئي امتحان لاءِ آهن. الله تعاليٰ اڳواٽ اهو مقرر فرمائي ڇڏيو آهي ته ڪهڙي ماڻهو کي سندس امتحان جو پرچو ڪهڙين ڪهڙين شڪلن ۾ ڏنو ويندو. ماڻهو کي اصل ۾ جنهن شيءِ تي توجه ڏيڻ گهرجي. اها هي نه آهي ته ان کي ڇا مليو ۽ ان کان ڇا کسجي ويو بلڪ هو اهو سوچي ته هن ڪهڙي موقعي تي ڪهڙي قسم جو ردعمل پيش ڪيو. صحيح ۽ گهربل ردعمل اهو آهي ته ماڻهو کان جيڪڏهن کسيو وڃي ته هو مايوس نه ٿئي ۽ جڏهن ان کي ملي ته هو ان جي ڪري فخر ۽ تڪبر ۾ مبتلا نه ٿئي.

لَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلَنَا بِالْبَيِّنٰتِ وَ اَنْزَلْنَا مَعَهُمُ الْكِتٰبَ وَ الْمِيْزَانَ لِيَقُوْمَ النَّاسُ
بِالْقِسْطِ ۚ وَ اَنْزَلْنَا الْحَدِيْدَ فِيْهِ بَاْسٌ شَدِيْدٌ وَّ مَنَافِعُ لِلنَّاسِ وَ لِيَعْلَمَ اللّٰهُ مَنْ
يَّنْصُرُهٗ وَ رُسُلَهٗ بِالْغَيْبِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ عَزِيْزٌ ﴿٢٥﴾ ع ٣ ٦ ١٩

اسان پنهنجن رسولن کي نشانين سان موڪليو ۽ انهن سان نازل ڪيو ڪتاب ۽ ترازي ته جيئن ماڻهو انصاف تي قائم ٿين ۽ اسان لوهه لاٿو جنهن ۾ وڏي قوت آهي ۽ ماڻهن لاءِ فائدا آهن ۽ ته جيئن الله ڄاڻي وٺي ته ڪير ان جي ۽ سندس رسولن جي مدد ڪري ٿو اڻ ڏٺي، بيشڪ الله سگهه وارو غالب آهي. ٢٥

دين ۾ به شيون گهربل آهن هڪ دين تي عمل ڪرڻ ۽ ٻيون دين جي مدد ڪرڻ. ساهمي ڄڻ دين تي عمل ڪرڻ جي علامتي مثال آهي جهڙي طرح ساهمي ۾ ڪنهن شيءِ جو گهٽ وڌ هئڻ جي خبر پئي ٿي، اهڙي طرح الله جو ڪتاب به حق جي ساهمي آهي. ماڻهن کي گهرجي ته پنهنجا عمل الله جي ڪتاب سان جانچي ڏسندا رهن، ته اُهي ڪهڙي حدتائين صحيح آهن ۽ ڪهڙي حدتائين صحيح نه آهن.

اهڙي طرح لوهه ڄڻ دين جي مدد جو علامتي مثال آهي، جڏهن به دين جو ڪو معاملو هجي ته اتي ماڻهو کي لوهه وانگر مضبوط ٿيڻ گهرجي هن کي فولادي قوت سان دين جو دفاع ڪرڻ گهرجي.

وَ لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا وَّ اِبْرٰهِيْمَ وَ جَعَلْنَا فِيْ ذُرِّيَّتِهِمَا النُّبُوَّةَ وَ الْكِتٰبَ فَمِنْهُمْ مُّهْتَدٍ ۚ وَ
كَثِيْرٌ مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٢٦﴾ ثُمَّ قَفَّيْنَا عَلٰۤى اٰثَارِهِمْ بِرُسُلِنَا وَ قَفَّيْنَا بِعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ وَ
اٰتَيْنٰهُ الْاِنْجِيْلَ ۙ وَ جَعَلْنَا فِيْ قُلُوْبِ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ رَاْفَةً وَّ رَحْمَةً ؕ وَ رَهْبَانِيَّةَ

اِبْتَدَعُوْهَا مَا كَتَبْنٰهَا عَلَيْهِمْ اِلَّا ابْتِغَآءَ رِضْوَانِ اللّٰهِ فَمَا رَعَوْهَا حَقَّ رِعَايَتِهَا ۚ
فَاٰتَيْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْهُمْ اَجْرَهُمْ ۚ وَ كَثِيْرٌ مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٢٧﴾

۽ اسان نوح کي ۽ ابراهيم کي موڪليو ۽ سندن اولاد ۾ اسان پيغمبري ۽ ڪتاب رکيوسون. پوءِ انهن منجهان ڪي هدايت تي آهن ۽ منجهائن گهڻا نافرمان آهن. پوءِ انهن پٺيان اسان پنهنجا رسول موڪليا ۽ انهن جي نقش قدم تي عيسيٰ پٽ مريم کي موڪليو ۽ اسان کيس انجيل ڏنو ۽ جن ماڻهن سندس تابعداري ڪئي اسان انهن جي دلين ۾ نرمي ۽ ٻاجهه رکي ڇڏي ۽ رهبانيت (گوشه نشيني) کي انهن خود ايجاد ڪيو. اسان مٿن فرض نه ڪئي هئي، پر انهن الله جي رضامندي لاءِ ان کي اختيار ڪيو. پوءِ اهي ان جو پورو حق ادا نه ڪري سگهيا. پوءِ انهن مان جن ماڻهن ايمان آندو ڪين اسان سندن اجر ڏنو ۽ انهن منجهان اڪثر نافرمان آهن. ٢٦-٢٧

الله طرفان جيترا پيغمبر آيا سڀ هڪڙو ئي دين کڻي آيا، پر بعد جي زماني ۾ ماڻهن پيغمبر جي نالي تي بدعتون ايجاد ڪري ورتيون. ان جو هڪ مثال حضرت مسيح عليه السلام جي پيروي ڪرڻ وارا آهن. حضرت مسيح جي ذميداري صرف دعوت جو ڪم هو. پاڻ عليه السلام جي پيغمبراڻي ذميداري ۾ قتال شامل نه هو. تنهن ڪري پاڻ عليه السلام سيني ڪان وڌيڪ دعوتي اخلاق تي زور ڏنو ۽ دعوتي اخلاق سراسر نرمي ۽ ٻاجهه جي بنياد تي هوندو آهي. پاڻ عليه السلام پنهنجي پيروي ڪرڻ وارن کي چيو ته هو ماڻهن جي مقابلي ۾ نرمي ۽ ٻاجهه جو طريقو اختيار ڪن. پر حضرت مسيح کان پوءِ سندس پيروي ڪرڻ وارا ان مصلحت کي سمجهي نه سگهيا. اهو مزاج انهن کي رهبانيت ڏانهن وٺي ويو. دنيا کان منهن موڙڻ جي جيڪا تعليم انهن کي دعوت جي مقصد لاءِ ڏني وئي هئي، ان کي انهن وڌيڪ مبالغو ڪري دنيا کي ترڪ ڪرڻ لاءِ اختيار ڪري ورتو.

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اٰمِنُوْا بِرَسُوْلِهٖ يُؤْتِكُمْ كِفْلَيْنِ مِنْ رَّحْمَتِهٖ وَ يَجْعَلْ
لَّكُمْ نُوْرًا تَمْشُوْنَ بِهٖ وَ يَغْفِرْ لَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٨﴾ۙ لِّئَلَّا يَعْلَمَ اَهْلُ الْكِتٰبِ اَلَّا
يَقْدِرُوْنَ عَلٰى شَیْءٍ مِّنْ فَضْلِ اللّٰهِ وَ اَنَّ الْفَضْلَ بِيَدِ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ ذُو
ع ٢٠ الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿٢٩﴾

اي ايمان وارو! الله کان ڊڄو ۽ سندس رسول تي ايمان آڻيو، الله توهان کي پنهنجي رحمت مان ٻه حصا عطا ڪندو ۽ توهان کي اهڙي روشني عطا ڪندو جنهن سان توهان (هدايت) تي هلو ۽ توهان کي معاف ڪندو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي، ته جيئن اهل ڪتاب ڄاڻي وٺن ته اُهي الله جي فضل مان ڪنهن شيءِ تي اختيار نه ٿا رکن ۽ اهو ته فضل الله جي هٿ ۾ آهي جنهن کي چاهي تو عطا فرمائي ۽ الله وڏي فضل وارو آهي. ٢٨-٢٩

”اي ايمان آڻڻ وارو“ مان مراد حضرت مسيح تي ايمان آڻڻ وارا آهن. جيڪي ماڻهو اڳين پيغمبر کي مڃيندا هجن ۽ هاڻي اهي پيغمبر آخرالزمان جي صداقت کي دريافت ڪري ان تي ايمان آڻين ته انهن لاءِ ٻيڻو اجر آهي. اهڙي طرح جيڪي ماڻهو نسلي طور تي مسلمان آهن، اهي ٻيهر اسلام جو مطالعو ڪن ۽ پنهنجي اندر اسلامي شعور پيدا ڪري مؤمن ۽ مسلم بڻجن. اهي به الله وٽ ٻيڻي اجر جا مستحق قرار ڏنا ويندا.

اٰياتها ٢٢ (٥٨) سُوْرَةُ الْمُجَادَلَةِ مَدَنِيَّةٌ (١٠٥) رکوعاتها ٣

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجُزْءُ الثَّامِنُ عِشْرُوْنَ (٢٨)

قَدْ سَمِعَ اللّٰهُ قَوْلَ الَّتِيْ تُجَادِلُكَ فِيْ زَوْجِهَا وَ تَشْتَكِيْٓ اِلَى اللّٰهِ ۖ وَ اللّٰهُ يَسْمَعُ تَحَاوُرَكُمَا ۭ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ①

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

الله پڪي ورتي ان عورت جي ڳالھ جنھن پنھنجي مڙس بابت توسان جھڳڙو ٿي ڪيو ۽ الله سان ڏک جو احوال ٿي ڪيو ۽ الله توهان ٻنهي جي ڳالھ ٻولھ ٻڌي رهيو هو. بيشڪ الله ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي. ١

---

اسلام کان اڳ عرب ۾ رواج هو تہ ڪو مرد جيڪڏهن پنھنجي زال کي چئي ڇڏي انت علي ڪظهر اُمّي (تون مون لاءِ اهڙي آهين جهڙي منھنجي ماءُ جي پُٺي) تہ اها عورت هميشہ لاءِ ان مرد تي حرام ٿي ويندي هئي. ان کي ظهار چيو ويندو هو مديني جي هڪ مسلمان اوس بن صامت انصاري پنھنجي زال خولہ بنت ثعلبہ کي اهي ئي لفظ چئي ڇڏيا. حضرت خولہ رسول الله وٽ آئي ۽ اهو واقعو بيان ڪيو. پاڻ ﷺ قديم رواج جي لحاظ کان فرمايو تہ منھنجي خيال ۾ تون پنھنجي مڙس تي حرام ٿي وئي آهين، خولہ کي پريشاني ٿي تہ منھنجو گهر ۽ منھنجا ٻچا برباد ٿي ويندا ثعلبہ هوءَ فرياد ڪرڻ لڳي، ان تي اهي آيتون نازل ٿيون ۽ ٻڌايو ويو تہ ظهار جي باري ۾ اسلامي حڪم ڇا آهي.

اَلَّذِيْنَ يُظٰهِرُوْنَ مِنْكُمْ مِّنْ نِّسَآئِهِمْ مَّا هُنَّ اُمَّهٰتِهِمْ ۭ اِنْ اُمَّهٰتُهُمْ اِلَّا الّٰٓـِٔيْ
وَلَدْنَهُمْ ۭ وَ اِنَّهُمْ لَيَقُوْلُوْنَ مُنْكَرًا مِّنَ الْقَوْلِ وَ زُوْرًا ۭ وَ اِنَّ اللّٰهَ لَعَفُوٌّ غَفُوْرٌ ② وَ
الَّذِيْنَ يُظٰهِرُوْنَ مِنْ نِّسَآئِهِمْ ثُمَّ يَعُوْدُوْنَ لِمَا قَالُوْا فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مِّنْ قَبْلِ اَنْ
يَّتَمَآسَّا ۭ ذٰلِكُمْ تُوْعَظُوْنَ بِهٖ ۭ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ③ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ
شَهْرَيْنِ مُتَتَابِعَيْنِ مِنْ قَبْلِ اَنْ يَّتَمَآسَّا ۚ فَمَنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ فَاِطْعَامُ سِتِّيْنَ مِسْكِيْنًا ۭ
ذٰلِكَ لِتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ۭ وَتِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ ۭ وَلِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ④

توهان مان جيڪي ماڻهو پنھنجن زالن کي ماءُ ڪوٺيندا آهن اهي انهن جون مائرون نہ آهن. سندن مائرون تہ اهي آهن جن کين ڄڻيو آهي ۽ اُهي ماڻهو بيشڪ نامعقول ڳالھ ۽ ڪوڙ چوندا آهن ۽ الله معاف ڪرڻ وارو بخشڻهار آهي. جيڪي ماڻهو پنھنجن زالن کي ماءُ ڪوٺين، پوءِ انهن سان رجوع ڪن. جيڪو انهن چيو هو تہ هڪ غلام آزاد ڪن ان کان اڳ ۾ جو هڪ ٻئي کي هٿ لائين. ان سان توهان کي نصيحت ڪئي وڃي ٿي ۽ الله ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجھ توهان ڪندا آهيو. پوءِ جيڪو ماڻهو نہ لهي تہ روزا آهن ٻن مهينن جا لڳاتار ان کان اڳ ۾ جو پاڻ ۾ هٿ لائين. پوءِ جيڪو ماڻهو نہ ڪري سگهي تہ سٺ مسڪينن کي ڪاڌو ڪارائي. اهو ان لاءِ آهي تہ توهان الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ اهي الله جون حدون آهن ۽ منڪرن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. ٢-٤

اسلام ۾ صورت ۽ حقيقت جي وچ ۾ فرق ڪيو ويو آهي، اهوئي سبب آهي جو اسلام ان قديم رواج کي تسليم نہ ڪيو تہ جيڪا عورت حقيقي ماءُ هجي تہ اها ر ڳو ماءُ جو لفظ چئي ڏيڻ سان ڪنهن جي ماءُ بڻجي وڃي، اهڙي قسم جو فعل هڪ اجائي ڳالهہ آهي ۽ ان جي ڪري فطرت جا قانون بدلجي نٿا سگهن.

قرآن ۾ ٻڌايو ويو تہ ر ڳو ظهار چوڻ سان ڪنهن ماڻهو جي زال کي طلاق نہ ٿيندي البتہ ان ماڻهو تي لازم ڪيو ويو تہ هو پهرين ڪفارو ادا ڪري ۽ ان کان بعد ٻيهر پنهنجي زال وٽ وڃي. ڪنهن غلطي کان پوءِ جڏهن ماڻهو اهڙي طرح ڪفارو ادا ڪري ٿو تہ هو ٻيهر پنهنجي يقين کي زنده ڪري ٿو. هو ان اصول ۾ پنهنجي عقيدي کي وري محڪم بڻائي ٿو، جنهن کي انهيءَ غفلت يا ناداني ۾ ڇڏي ڏنو هو.

اِنَّ الَّذِيْنَ يُحَآدُّوْنَ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ كُبِتُوْا كَمَا كُبِتَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ وَ قَدْ اَنْزَلْنَاۤ
اٰيٰتٍۢ بَيِّنٰتٍ ؕ وَ لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ۝٥ يَوْمَ يَبْعَثُهُمُ اللّٰهُ جَمِيْعًا فَيُنَبِّئُهُمْ بِمَا
ع عَمِلُوْا ؕ اَحْصٰىهُ اللّٰهُ وَ نَسُوْهُ ؕ وَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ۝٦

جيڪي ماڻهو الله ۽ سندس رسول جي مخالفت ڪندا آهن، اهي ذليل ٿيندا جهڙي طرح اهي ماڻهو ذليل ٿيا جيڪي ڪانئن اڳ هئا ۽ اسان واضح آيتون نازل ڪيون آهن ۽ منڪرن لاءِ ذلت جو عذاب آهي. جنهن ڏينهن الله انهن سڀني کي اٿاريندو ۽ سندن ڪيل ڪمايون کين ٻڌائيندو. الله ان کي ڳڻي رکيو آهي ۽ اهي ماڻهو ان کي وساري ويٺا ۽ الله جي سامهون آهي هر شيءِ. ٥-٦

---

حق جي مخالفت ڪرڻ الله جي مخالفت ڪرڻ آهي ۽ الله جي مخالفت ڪرڻ ان هستي جي مخالفت ڪرڻ آهي جنهن جي مخالفت ڪري ماڻهو خود پنهنجو نقصان ڪندو آهي. الله کان ماڻهو نہ پنهنجي ڪا شيءِ لڪائي سگهي ٿو ۽ نہ وري ڪنهن جي لاءِ اهو ممڪن آهي تہ هو الله جي پڪڙ کان پاڻ کي بچائي سگهي.

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ؕ مَا يَكُوْنُ مِنْ نَّجْوٰى ثَلٰثَةٍ اِلَّا هُوَ
رَابِعُهُمْ وَ لَا خَمْسَةٍ اِلَّا هُوَ سَادِسُهُمْ وَ لَاۤ اَدْنٰى مِنْ ذٰلِكَ وَ لَاۤ اَكْثَرَ اِلَّا هُوَ مَعَهُمْ اَيْنَ
مَا كَانُوْا ۚ ثُمَّ يُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ۝٧ اَلَمْ تَرَ اِلَى
الَّذِيْنَ نُهُوْا عَنِ النَّجْوٰى ثُمَّ يَعُوْدُوْنَ لِمَا نُهُوْا عَنْهُ وَ يَتَنٰجَوْنَ بِالْاِثْمِ وَ الْعُدْوَانِ وَ
مَعْصِيَتِ الرَّسُوْلِ ٘ وَ اِذَا جَآءُوْكَ حَيَّوْكَ بِمَا لَمْ يُحَيِّكَ بِهِ اللّٰهُ ۙ وَ يَقُوْلُوْنَ فِيْۤ اَنْفُسِهِمْ
لَوْ لَا يُعَذِّبُنَا اللّٰهُ بِمَا نَقُوْلُ ؕ حَسْبُهُمْ جَهَنَّمُ ۚ يَصْلَوْنَهَا ۚ فَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ۝٨

ڇا تو نہ ڏٺو تہ الله ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهہ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو ڪجهہ زمين ۾ آهي. ڪٿي بہ ٽن ڄڻن جي ڳجهي صلاح ڪرڻ نہ هوندي آهي، پر انهن مان چوٿون الله نہ هجي ۽ نہ وري پنجن ڄڻن جي، پر انهن ۾ ڇهون (الله) نہ هجي ۽ نہ وري ان کان گهٽ نہ وڌ آهن، پر الله ساڻن آهي جتي بہ اهي هجن، پوءِ هو کين سندن ڪيل کان آگاهہ ڪندو قيامت جي ڏينهن. بيشڪ الله هر ڳالهہ جو علم رکڻ وارو آهي. ڇا تو نہ ڏٺو جن کي

ڳجهين صلاحن ڪرڻ کان جهليو ويو هو ۽ پوءِ به هو اهوئي ڪري رهيا آهن جنهن کان اُهي روڪيا ويا هئا ۽ اهي گناهه ۽ زيادتي ۽ پيغمبر جي نافرماني ڪرڻ بابت پاڻ ۾ ڳجهون صلاحون ڪندا آهن ۽ جڏهن تو وٽ ايندا آهن ته توکي اهڙي طريقي سان سلام ڪندا آهن، جنهن سان الله توکي سلام نه ڪيو ۽ پنهنجن دلين ۾ چوندا آهن ته اسان جي انهن ڳالهين تي الله اسان کي عذاب ڇو نه ٿو ڏي. انهن لاءِ جهنم ئي ڪافي آهي، اهي ان ۾ پوندا پوءِ اها بڇڙي جاءِ آهي. ٧-٨

---

ڪائنات پنهنجي انتهائي پيچيده نظام سان اها گواهي ڏئي رهي آهي ته اُها هر گهڙي ڪنهن بالاتر طاقت جي نگراني ۾ آهي. ڪائنات ۾ نگراني جي شهادت اهو ثابت ڪري ٿي ته انسان به مسلسل طورتي پنهنجي خالق جي نگراني ۾ آهي. اهڙي حالت ۾ حق جي خلاف ڳجهيون سازشون ڪرڻ صرف اهڙن انڌن ماڻهن جو ڪم ٿي سگهي ٿو جيڪي الله جي صفتن کي نه قرآن ۾ پڙهي سگهن ۽ نه بلواسط طور تي ڪائنات جي نشانين ۾ ڏسي سگهن.

ڪجهه يهودي ۽ منافق رسول الله ﷺ جي مجلس ۾ ايندا هئا ته اهي السلام عليڪم (توهان تي سلامتي هجي) چوڻ جي بجاءِ اسام عليڪم (توهان تي موت اچي) چوندا هئا. اهو هميشه کان سطحي ماڻهن جو طريقو رهيو آهي. سطحي ماڻهو هڪ سچي انسان جي بيقدري ڪري پنهنجي دل ۾ خوش ٿيندا آهن. اُهي وساري ٿا ڇڏين ته سچي خدائي عين انهيءَ وقت به ان سچي انسان جو اعتراف ڪري رهي هوندي آهي، جڏهن اهي پنهنجي محدود ذهن مطابق ان جي توهين ڪرڻ لاءِ پنهنجي زبان استعمال ڪندا آهن.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا تَنَاجَيْتُمْ فَلَا تَتَنَاجَوْا بِالْاِثْمِ وَ الْعُدْوَانِ وَ مَعْصِيَتِ الرَّسُوْلِ وَ تَنَاجَوْا بِالْبِرِّ وَ التَّقْوٰى ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْۤ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٩﴾ اِنَّمَا النَّجْوٰى مِنَ الشَّيْطٰنِ لِيَحْزُنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ لَيْسَ بِضَآرِّهِمْ شَيْـًٔا اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَ عَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿١٠﴾

اي ايمان وارؤ! جڏهن توهان ڳجهي صلاح ڪريو ته گناهه ۽ زيادتي ۽ رسول جي نافرماني بابت صلاح نه ڪريو ۽ توهان چڱائي ۽ پرهيزگاري بابت صلاح ڪريو ۽ الله کان ڊڄو جنهن وٽ توهان گڏ ڪيا ويندؤ. هي (بڇڙي صلاح ڪرڻ) شيطان طرفان هوندي آهي، ته جيئن هو ايمان وارن کي غمگين ڪري ۽ هو الله جي حڪم کان سواءِ ڪين ڪجهه به نقصان پهچائي نه ٿو سگهي ۽ ايمان وارن کي الله ئي تي ڀروسو ڪرڻ گهرجي. ٩-١٠

---

ڳجهيون صلاحون ڪرڻ عام حالتن ۾ هڪ ناپسنديده عمل آهي. جيئن ته ڪڏهن خير جي ڪم لاءِ به ڳجهي صلاح جي ضرورت پوندي آهي. ان سلسلي ۾ اصل ڳالهه نيت جي هوندي آهي. ڳجهي صلاح جيڪڏهن چڱي نيت سان ڪئي وڃي ته جائز آهي ۽ جيڪڏهن بُري نيت سان ڪئي وڃي ته ناجائز.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا قِيْلَ لَكُمْ تَفَسَّحُوْا فِي الْمَجٰلِسِ فَافْسَحُوْا يَفْسَحِ اللّٰهُ لَكُمْ ۚ وَ اِذَا قِيْلَ انْشُزُوْا فَانْشُزُوْا يَرْفَعِ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ ۙ وَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ دَرَجٰتٍ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿١١﴾

اي ايمان وارؤ! جڏهن توهان کي چيو وڃي ته مجلس ۾ جاءِ ڪشادي ڪريو ته ڪشادي ڪندا ڪريو ته الله به توهان جي لاءِ ڪشادگي ڪري ۽ جڏهن چيو وڃي ته اٿي وڃو ته توهان اُٿي وڃو. توهان ۾ جيڪي ماڻهو ايمان وارا آهن ۽ جن کي علم ڏنو ويو آهي، الله انهن جا درجا بلند ڪندو ۽ جيڪي ڪجهه توهان ڪندا آهيو، الله ان کان باخبر آهي. ١١

مجلس جي آدابن تحت ڪڏهن ايئن به ٿيندو آهي جو هڪ ماڻهو کي پوئتي ڪري. ٻئي ماڻهو کي اڳتي ويهاريو ويندو آهي. اهڙي طرح ڪڏهن ايئن به ٿيندو آهي جو ماڻهن جي اميدن جي خلاف ڳالهايو ويندو آهي ته هاڻي اوهين واپس هليا وڃو. اهڙين ڳالهين کي عزت جو سوال بڻائي وٺڻ شعوري پستي جو ثبوت آهي ۽ جيڪو ماڻهو اهڙين ڳالهين کي عزت جو مسئلو نه بڻائي ته هن اِهو ثبوت ڏنو ته شعوري لحاظ کان هو بلند درجي تي پهتل آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِذَا نَاجَيۡتُمُ الرَّسُوۡلَ فَقَدِّمُوۡا بَيۡنَ يَدَیۡ نَجۡوٰىكُمۡ صَدَقَةً ؕ ذٰلِكَ خَيۡرٌ لَّكُمۡ وَ اَطۡهَرُ ؕ فَاِنۡ لَّمۡ تَجِدُوۡا فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۱۲﴾ ءَاَشۡفَقۡتُمۡ اَنۡ تُقَدِّمُوۡا بَيۡنَ يَدَیۡ نَجۡوٰىكُمۡ صَدَقٰتٍ ؕ فَاِذۡ لَمۡ تَفۡعَلُوۡا وَ تَابَ اللّٰهُ عَلَيۡكُمۡ فَاَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ وَ اَطِيۡعُوا اللّٰهَ وَ رَسُوۡلَهٗ ؕ وَ اللّٰهُ خَبِيۡرٌۢ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۱۳﴾ ع

اي ايمان وارؤ! جڏهن توهان رسول سان ڪا ڳجهي ڳالهه ڪريو تڏهن پنهنجي ڳجهي ڳالهه ڪرڻ کان اڳ ڪجهه صدقو ڏيو. هي توهان لاءِ بهتر آهي ۽ وڌيڪ پاڪائي واري آهي. پوءِ جيڪڏهن ڪجهه نه لهو ته الله بخشڻهار مهربان آهي. ڇا توهان ڊڄي ويا ان ڳالهه کان ته پنهنجي ڳجهي ڳالهه چوڻ کان اڳ صدقو ڏيو، پوءِ جڏهن توهان ايئن نه ڪيو ۽ الله توهان کي معاف ڪري ڇڏيو. تنهن ڪري توهان نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ادا ڪريو ۽ الله ۽ سندس رسول جي اطاعت ڪريو ۽ جيڪو ڪجهه توهان ڪريو ٿا الله ان کان باخبر آهي. ١٢-١٣

الله تعاليٰ کي اهو گهربل هو ته رسول سان صرف اهي ماڻهو ملن، جيڪي واقعي ڪنهن سنجيده مقصد جي ڪري پاڻ ﷺ سان ملڻ چاهين. غيرضروري قسم جا ماڻهو جدا ڪيا وڃن، جيڪي پنهنجن فضول ڳالهين سان رڳو وقت جي زيان جو سبب بڻجن ٿا. ان ڪري اهو اصول مقرر ڪيو ويو ته جڏهن رسول ﷺ سان ملڻ جو ارادو ڪريو ته ان کان اڳ ۾ الله جي نالي تي ڪجهه صدقو ڏيو ۽ جيڪڏهن ان جي قدرت نه ٿا رکو ته ٻي ڪا نيڪي ڪريو.

اهو حڪم جيتوڻيڪ اصل ۾ رسول جي مجلس ۾ رسول سان ملڻ وارن لاءِ هو، پر رسول کان پوءِ به امت جي رهنمائن جي حق ۾ اهو حڪم حالتن جي لحاظ کان گهربل آهي.

اَلَمۡ تَرَ اِلَى الَّذِيۡنَ تَوَلَّوۡا قَوۡمًا غَضِبَ اللّٰهُ عَلَيۡهِمۡ ؕ مَا هُمۡ مِّنۡكُمۡ وَ لَا مِنۡهُمۡ ۙ وَ يَحۡلِفُوۡنَ عَلَى الۡكَذِبِ وَ هُمۡ يَعۡلَمُوۡنَ ﴿۱۴﴾ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمۡ عَذَابًا شَدِيۡدًا ؕ اِنَّهُمۡ سَآءَ مَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿۱۵﴾ اِتَّخَذُوۡۤا اَيۡمَانَهُمۡ جُنَّةً فَصَدُّوۡا عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ فَلَهُمۡ عَذَابٌ مُّهِيۡنٌ ﴿۱۶﴾

ڇا تو انهن ماڻهن کي نہ ڏٺو جيڪي اهڙن ماڻهن سان دوستي ڪندا آهن جن تي الله جو غضب ٿيو آهي. اهي نہ توهان مان آهن ۽ نہ انهن مان آهن ۽ اهي ڄاڻي واڻي ڪوڙي ڳالهہ تي قسم کڻندا آهن. الله انهن لاءِ سخت عذاب تيار ڪري رکيو آهي. بيشڪ اهي جيڪي ڪندا آهن سو بڇڙو آهي. انهن پنهنجن قسمن کي ڍال ڪري ورتو آهي ۽ هو الله جي واٽ کان روڪيندا آهن ۽ تنهن ڪري انهن لاءِ ذلت جو عذاب آهي. ١٤-١٦

---

مديني جا منافق اسلام جي جماعت ۾ شامل هئا. ان سان گڏ اهي يهودين سان بہ مليل هئا. اهوئي هميشہ انهن ماڻهن جو حال هوندو آهي جيڪي حق کي پوري طرح اختيار نہ ڪري سگهن. اهڙا ماڻهو بظاهر سڀني سان مليل هوندا آهن، پر حقيقت ۾ اهي رڳو پنهنجي مفاد جا وفادار هوندا آهن. ڇاهي اهي قسمون کڻي پنهنجي حق پرست هئڻ جو يقين ڏياري رهيا هجن.

لَنْ تُغْنِيَ عَنْهُمْ اَمْوَالُهُمْ وَ لَآ اَوْلَادُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ۭ اُولٰۗىِٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۭ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿١٧﴾ يَوْمَ يَبْعَثُهُمُ اللّٰهُ جَمِيْعًا فَيَحْلِفُوْنَ لَهٗ كَمَا يَحْلِفُوْنَ لَكُمْ وَ يَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ عَلٰي شَيْءٍ ۭ اَلَآ اِنَّهُمْ هُمُ الْكٰذِبُوْنَ ﴿١٨﴾ اِسْتَحْوَذَ عَلَيْهِمُ الشَّيْطٰنُ فَاَنْسٰىهُمْ ذِكْرَ اللّٰهِ ۭ اُولٰۗىِٕكَ حِزْبُ الشَّيْطٰنِ ۭ اَلَآ اِنَّ حِزْبَ الشَّيْطٰنِ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿١٩﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يُحَاۗدُّوْنَ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗٓ اُولٰۗىِٕكَ فِي الْاَذَلِّيْنَ ﴿٢٠﴾ كَتَبَ اللّٰهُ لَاَغْلِبَنَّ اَنَا وَ رُسُلِيْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ عَزِيْزٌ ﴿٢١﴾

سندن مال ۽ سندن اولاد ڪين ذرو بہ الله کان بچائي نہ سگهندا. اهي ماڻهو دوزخ وارا آهن. اهي ان ۾ هميشہ رهندا. جنهن ڏينهن الله انهن سڀني کي اٿاريندو تہ اهي سندس آڏو بہ ايئن ئي قسم کڻندا، جهڙي طرح توهان جي آڏو قسم کڻندا آهن ۽ اُهي سمجهندا آهن تہ اُهي ڪنهن چڱي ڳالهہ تي آهن. خبردار! اِهي ئي ماڻهو ڪوڙا آهن. شيطان مٿن غالب ٿي ويو آهي، پوءِ انهن کان الله جي يادگيري وسارائي ڇڏي. اهي ماڻهو شيطان جي جماعت آهن. خبردار! شيطان جي جماعت ضرور برباد ٿيڻ واري آهي. جيڪي ماڻهو الله ۽ سندس رسول جي مخالفت ڪندا آهن، اهي ذليل ماڻهن منجهان آهن. الله لکي ڇڏيو آهي تہ آئون ۽ منهنجا رسول ئي غالب رهندا. بيشڪ الله سگهارو ۽ غالب آهي. ١٧-٢١

---

مفاد پرست ماڻهو جڏهن حق جي دعوت جي مخالفت ڪندو آهي تہ هو سمجهي ٿو تہ اهڙي طرح هو پاڻ کي محفوظ ڪري رهيو آهي، پر ان وقت هو هراس ۾ پئجي ويندو، جڏهن آخرت ۾ هو ڏسندو تہ جن شين تي هن ڀروسو ڪيو هو، اهي فيصلي جي وقت ان جي ڪجهہ بہ ڪم اچڻ واريون نہ آهن.

منافق ماڻهو پنهنجي ڳالهہ کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪندو آهي، ايستائين جو هو قسمون کڻي پنهنجي اخلاص جو يقين ڏياريندو آهي. اهو سڀ ڪجهہ ڪري هو سمجهي ٿو تہ ”هو ڪنهن شيءِ تي آهي.“ هن پنهنجي حق ۾ ڪو حقيقي بنياد حاصل ڪري ورتو آهي. پر قيامت جڏهن حقيقتن کي کوليندي تہ ان وقت هو ڄاڻي وٺندو تہ اهي رڳو شيطان جا سيکاريل ڪوڙا لفظ هئا جن کي هو پنهنجي بي قصور هئڻ جو يقيني ثبوت سمجهي رهيو هو.

لَا تَجِدُ قَوْمًا يُّؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ يُوَآدُّوْنَ مَنْ حَآدَّ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ وَ لَوْ كَانُوْٓا
اٰبَآءَهُمْ اَوْ اَبْنَآءَهُمْ اَوْ اِخْوَانَهُمْ اَوْ عَشِيْرَتَهُمْ ؕ اُولٰٓئِكَ كَتَبَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْاِيْمَانَ وَ
اَيَّدَهُمْ بِرُوْحٍ مِّنْهُ ؕ وَ يُدْخِلُهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ رَضِيَ
اللّٰهُ عَنْهُمْ وَ رَضُوْا عَنْهُ ؕ اُولٰٓئِكَ حِزْبُ اللّٰهِ ؕ اَلَآ اِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٢٢﴾ ع ٣

تون اهڙي قوم نہ ڏسندين جيڪا الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکندي هجي ۽ هو اهڙن ماڻهن سان دوستي رکي جيڪي الله ۽ ان جي رسول جا مخالف آهن. توڙي جو اهي سندن پيءُ هجن يا سندن پٽ يا سندن ڀاءُ يا سندن مائٽ ڇو نہ هجن. اهي ئي ماڻهو آهن جن جي دلين ۾ الله ايمان لکي ڇڏيو آهي ۽ جن کي پنهنجي فيض سان قوت ڏني اٿس ۽ هو انهن کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون. انهن ۾ اهي سدائين رهندا. الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي الله کان راضي ٿيا. اهي الله جي جماعت آهن. خبردار! بيشڪ الله جي جماعت ئي فلاح پائڻ واري آهي. ٢٢

---

هن دنيا ۾ ڪاميابي حزب الله جي لاءِ آهي. حزب الله (الله جي جماعت) ڪهڙا ماڻهو آهن؟ هي اهي ماڻهو آهن جن جي دلين ۾ ايمان سيني ڪان وڌي حقيقت بڻجي ويو آهي، جن جو الله سان ايڏو گهرو تعلق هجي جو انهن کي الله طرفان روحاني فيض پهچڻ لڳي، پوءِ خدائي حقيقتن سان سندن وابستگي ايتري گهري هجي جو ان جي بنياد تي سندن دوستيون ۽ دشمنيون قائم ٿين. اُهي سيني ڪان وڌيڪ انهن ماڻهن جي ويجها هجن جيڪي خدائي صداقت تي آهن ۽ جيڪي ماڻهو خدائي صداقت ڪان پري آهن، انهن ڪان اُهي پري ٿي وڃن، چاهي اُهي انهن جا عزيز ۽ مٽ مائٽ ئي ڇو نہ هجن.

اٰياتها ٢٤ (٥٩) سُوْرَةُ الْحَشْرِ مَدَنِيَّةٌ (١٠١) رکوعاتها ٣

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ۚ وَ هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿١﴾ هُوَ الَّذِيْٓ اَخْرَجَ
الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ مِنْ دِيَارِهِمْ لِاَوَّلِ الْحَشْرِ ؔ مَا ظَنَنْتُمْ اَنْ يَّخْرُجُوْا
وَ ظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ مَّانِعَتُهُمْ حُصُوْنُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ فَاَتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ حَيْثُ لَمْ يَحْتَسِبُوْا ۗ وَ
قَذَفَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الرُّعْبَ يُخْرِبُوْنَ بُيُوْتَهُمْ بِاَيْدِيْهِمْ وَ اَيْدِي الْمُؤْمِنِيْنَ ۗ فَاعْتَبِرُوْا
يٰٓاُولِي الْاَبْصَارِ ﴿٢﴾

وقف النبي صلى الله عليه وآله وسلم

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

الله جي پاڪائي بيان ڪندي آهي هر شيءِ جيڪا آسمانن ۽ زمين ۾ آهي ۽ اهو غالب ۽ حڪمت وارو آهي. اهوئي آهي جنهن ڪتاب وارن ڪافرن کي سندن گهرن مان پهرين ئي ويڙهہ ۾ ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. انهن جي

نڪرڻ جو توهان کي گمان نہ هو ۽ اهي خيال ڪندا هئا تہ سندن قلعا کين الله کان بچائي وٺندا. پوءِ الله انهن وٽ اُتان آيو جتان کين گمان ئي نہ هو ۽ سندن دلين ۾ اهڙي دهشت وڌائين جو هو پنهنجن هٿن سان ۽ مسلمانن جي هٿن سان پنهنجن گهرن کي ڊاهڻ لڳا. پوءِ اي اکين وارو عبرت وٺو. ١-٢

---

مديني جي اوير ۾ يهودي قبيلي بنونضير جي آبادي هئي. انهن جي ۽ رسول اللهﷺ جي وچ ۾ صلح جو معاهدو هو. پر انهن بار بار عهد ٽوڙيو. آخرڪار ٤ هجري ۾ الله تعاليٰ اهڙيون حالتون پيدا ڪيون جو مسلمانن انهن کي مديني مان نڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ اهي خيبر ۽ اذرعات ۾ وڃي آباد ٿي ويا. پر سندن سازشي سرگرميون جاري رهيون. ايستائين جو حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي خلافت جي زماني ۾ اهي ۽ ٻيا يهودي قبيلا جزيره عرب مان نڪرڻ تي مجبور ڪيا ويا. ان کان پوءِ اهي شام ۾ وڃي آباد ٿيا.

”الله ٿن اُتان آيو جتان کين گمان ئي نہ هو.“ جي تشريح ايندڙ جملي ۾ موجود آهي. يعني الله سندن دلين ۾ رعب (دهشت) وجهي ڇڏي. انهن ظاهري طور تي هر قسم جون تياريون ڪري ورتيون. پر جڏهن مسلمانن جي فوج سندن آبادي کي گهيري ورتو تہ سڄي طاقت جي باوجود انهن تي اهڙي دهشت طاري ٿي جو انهن وڙهڻ جو حوصلو ئي وڃائي ڇڏيو ۽ بغير ڪنهن مقابلي جي هٿيار ڦٽي ڪيا.

وَ لَوْ لَآ اَنْ كَتَبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمُ الْجَلَآءَ لَعَذَّبَهُمْ فِي الدُّنْيَا ؕ وَ لَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ عَذَابُ النَّارِ ۝٣ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ شَآقُّوا اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ ۚ وَ مَنْ يُّشَآقِّ اللّٰهَ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ۝٤ مَا قَطَعْتُمْ مِّنْ لِّيْنَةٍ اَوْ تَرَكْتُمُوْهَا قَآئِمَةً عَلٰٓى اُصُوْلِهَا فَبِاِذْنِ اللّٰهِ وَ لِيُخْزِيَ الْفٰسِقِيْنَ ۝٥

۽ جيڪڏهن الله ٿن ڏيهہ نيڪالي نہ لکي هجي ها تہ کين دنيا ۾ ئي عذاب ڏي ها ۽ آخرت ۾ انهن لاءِ باهہ جو عذاب آهي. اهو ان ڪري جو انهن الله ۽ سندس رسول جي مخالفت ڪئي ۽ جيڪو شخص الله جي مخالفت ڪندو تہ الله سخت عذاب ڏيڻ وارو آهي. جيڪي کجين جا وڻ توهان وڍيا يا انهن کي پاڙن تي بيٺل ڇڏيو تہ اهو الله جي حڪم سان هو ۽ تہ جيئن هو نافرمانن کي رسوا ڪري . ٣-٥

---

يهودين کي جيڪا سزا ڏني وئي. اها الله جي قانون مطابق هئي. هي سزا انهن ماڻهن لاءِ مقدر آهي جيڪي پيغمبرن جا مخالف بڻجي وڃن. بنونضير جي گهيري جي وقت سندن باغن جا ڪجهہ وڻ جنگ جي مصلحت تحت ڪٽيا ويا هئا. اهو بہ براهِ راست الله جي حڪم سان ٿيو. جيئن تہ اهو ڪو عام اصول نہ آهي. اِهو هڪ علحده معاملو هو. جيڪو پيغمبر جي براهِ راست مخاطبن سان اختيار ڪيو ويو.

وَ مَآ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ مِنْهُمْ فَمَآ اَوْجَفْتُمْ عَلَيْهِ مِنْ خَيْلٍ وَّ لَا رِكَابٍ وَّ لٰكِنَّ اللّٰهَ يُسَلِّطُ رُسُلَهٗ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝٦ مَآ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ مِنْ اَهْلِ الْقُرٰى فَلِلّٰهِ وَ لِلرَّسُوْلِ وَ لِذِي الْقُرْبٰى وَ الْيَتٰمٰى وَ الْمَسٰكِيْنِ وَ ابْنِ السَّبِيْلِ ۙ كَيْ لَا يَكُوْنَ دُوْلَةًۢ بَيْنَ الْاَغْنِيَآءِ مِنْكُمْ ؕ وَ مَآ اٰتٰىكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ ۚ وَ مَا نَهٰىكُمْ

عَنْهُ فَانْتَهُوْا ۚ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ۝٧ لِلْفُقَرَآءِ الْمُهٰجِرِيْنَ الَّذِيْنَ
اُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَ اَمْوَالِهِمْ يَبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَ رِضْوَانًا وَّ يَنْصُرُوْنَ اللّٰهَ وَ
رَسُوْلَهٗ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الصّٰدِقُوْنَ ۝٨

۽ انهن (بني نضير جي مال) مان جيڪو الله پنهنجي رسول کي هٿ ۾ ڏنو، تنهن تي توهان نہ گهوڙا ڊوڙايا ۽ نہ اُٺ. پر الله پنهنجي رسولن کي جنهن تي چاهي ٿو غالب ڪندو آهي ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي. وسندين جي (مال) مان جيڪي الله پنهنجي رسول کي هٿ ۾ ڏنو سو خاص الله لاءِ ۽ رسول لاءِ ۽ مائٽن لاءِ، يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن لاءِ آهي، تہ جيئن اُهو توهان مان مالدارن جي وچ ۾ گردش ڪندو نہ رهي ۽ رسول جيڪو توهان کي ڏي سو وٺو ۽ جنهن شيءِ کان توهان کي روڪي تنهن کي ڇڏي ڏيو ۽ الله کان ڊڄو الله سخت سزا ڏيڻ وارو آهي ۽ مال انهن مسڪينن مهاجرن لاءِ آهي جيڪي پنهنجن گهرن ۽ مالن مان ڪڍيا ويا. اهي الله جو فضل ۽ سندس رضامندي طلبيندا آهن ۽ اهي الله ۽ سندس رسول جي مدد ڪندا آهن. اهي ئي سچا آهن. ٦-٨

---

دشمن جو جيڪو مال لڙائي کان پوءِ ملي اهو غنيمت آهي ۽ جيڪو مال لڙائي کان سواءِ هٿ لڳي اهو فَيء آهي. غنيمت ۾ پنجون حصو ڪڍڻ کان پوءِ باقي سڀ لشڪر جو حصو آهي ۽ فَيء سڀ جو سڀ اسلامي حڪومت جي ملڪيت آهي، جنهن کي عوام جي مصلحتن لاءِ خرچ ڪيو ويندو.

اسلام چاهي ٿو تہ مال ڪنهن هڪ طبقي ۾ محدود ٿي نہ رهجي وڃي، بلڪ اهو هر طبقي تائين پهچي. اسلام ۾ معاشي جبر نہ آهي. پر ان معاشي قانون اهڙي طرح ٻڌايا ويا آهن جو دولت هڪڙي جاءِ تي جمع نہ ٿي وڃي ۽ اها هر طبقي جي ماڻهن ۾ گردش ڪندي رهي.

وَ الَّذِيْنَ تَبَوَّؤُ الدَّارَ وَ الْاِيْمَانَ مِنْ قَبْلِهِمْ يُحِبُّوْنَ مَنْ هَاجَرَ اِلَيْهِمْ وَ لَا يَجِدُوْنَ فِيْ
صُدُوْرِهِمْ حَاجَةً مِّمَّآ اُوْتُوْا وَ يُؤْثِرُوْنَ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ وَ لَوْ كَانَ بِهِمْ خَصَاصَةٌ ۟ؕ وَ مَنْ
يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۝٩ وَ الَّذِيْنَ جَآءُوْ مِنْۢ بَعْدِهِمْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا
اغْفِرْ لَنَا وَ لِاِخْوَانِنَا الَّذِيْنَ سَبَقُوْنَا بِالْاِيْمَانِ وَ لَا تَجْعَلْ فِيْ قُلُوْبِنَا غِلًّا لِّلَّذِيْنَ
اٰمَنُوْا رَبَّنَآ اِنَّكَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ۝١٠

۽ جيڪي ماڻهو اڳ ۾ ئي دارالاسلام (مديني ۾) رهندا هئا ۽ ايمان آندو هو، جيڪو وٽن لڏي اچي تنهن سان محبت ڪندا آهن ۽ اهي پنهنجن دلين ۾ ڪا بہ تنگي نہ لهندا آهن، ان کان جيڪو مهاجرن کي ڏنو ويو ۽ هو انهن کي پاڻ تي ترجيح ڏيندا آهن. جيتوڻيڪ کين ضرورت بہ هوندي آهي ۽ جن کي پنهنجي نفس جي حرص کان بچايو ويو تہ اُهي ئي ڪاميابي حاصل ڪرڻ وارا آهن ۽ جيڪي انهن کان پوءِ آيا چوندا آهن تہ اي اسان جا رب! اسان کي بخش ۽ اسان جي انهن ڀائرن کي بہ جن ايمان آڻڻ ۾ اسان کان اڳرائي ڪئي ۽ مؤمنن جي نسبت اسان جي دلين ۾ ڪو ڪينو نہ وجهہ، اي اسان جا رب! تون ڏاڍو شفقت ڪندڙ مهربان آهين. ٩-١٠

---

هجرت کان پوءِ جيڪي مسلمانن پنهنجو وطن ڇڏي مديني پهتا، سندن مديني اچڻ مديني جي ماڻهن (انصار) تي هڪ بار هو، پر انهن نهايت خوش دلي سان سندن استقبال ڪيو. جڏهن مال آيو تہ

پاڻ ﷺ ان کي مهاجرن جي وچ ۾ تقسيم ڪيو، ان تي به مديني جي انصارن ۾ مهاجرن لاءِ ڪا رنجش پيدا نه ٿي. ان کان پوءِ به اُهي مهاجرن جا ايترا قدردان رهيا جو سندن حق ۾ انهن جي دلين مان دعائون نڪرنديون هيون. اها وڏي حوصلي جي ڳالهه آهي، جيڪا ڪنهن جماعت کي تاريخ ساز جماعت بڻائيندي آهي.

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ نَافَقُوْا يَقُوْلُوْنَ لِاِخْوَانِهِمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ لَىِٕنْ اُخْرِجْتُمْ لَنَخْرُجَنَّ مَعَكُمْ وَلَا نُطِيْعُ فِيْكُمْ اَحَدًا اَبَدًا ۙ وَّاِنْ قُوْتِلْتُمْ لَنَنْصُرَنَّكُمْ ۭ وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ⑪ لَىِٕنْ اُخْرِجُوْا لَا يَخْرُجُوْنَ مَعَهُمْ ۚ وَلَىِٕنْ قُوْتِلُوْا لَا يَنْصُرُوْنَهُمْ ۚ وَلَىِٕنْ نَّصَرُوْهُمْ لَيُوَلُّنَّ الْاَدْبَارَ ۣ ثُمَّ لَا يُنْصَرُوْنَ ⑫

ڇا تو انهن ماڻهن کي نه ڏٺو جيڪي منافق ٿيا آهن. اهي پنهنجي ڀائرن کي چوندا آهن جيڪي ڪتاب وارن مان منڪر آهن ته جيڪڏهن توهان کي ڪڍيو ويو ته اسان به توهان سان گڏ نڪري وينداسون ۽ توهان جي معاملي ۾ اسان ڪنهن جي ڳالهه نه مڃينداسون ۽ جيڪڏهن توهان سان ويڙهه ڪئي وئي ته اسان توهان جي مدد ڪنداسون ۽ الله گواهي ڏي ٿو ته اهي ڪوڙا آهن. جيڪڏهن اُهي ڪڍيا ويا ته هي (منافق) انهن سان گڏ نه نڪرندا ۽ جيڪڏهن انهن سان جنگ ٿئي ته اهي انهن جي مدد نه ڪندا ۽ جيڪڏهن انهن جي مدد ڪندا ته ضرور پٺي ڦيرائي ڀڄندا ۽ ڪين مدد نه ملندي . ١١-١٢

---

رسول الله ﷺ بنونضير جي جلاوطني جو اعلان ڪيو ته منافقن انهن جي حمايت ڪئي. انهن بنونضير کي چيو ته توهان پنهنجي جاءِ تي ثابت قدم رهو، اسان هر طرح سان توهان جي مدد ڪنداسون. پر منافقن جون اهي ڳالهيون رڳو يهودين کي مسلمانن جي خلاف ڀڙڪائڻ لاءِ هيون. هو ان پيشڪش ۾ هرگز مخلص نه هئا، تنهن ڪري جڏهن مسلمانن بنونضير جو گهيرو ڪري ورتو ته منافقن مان ڪو به سندس مدد لاءِ نه آيو. مفاد پرست ٽولي جو هر زماني ۾ اهو ئي ڪردار رهيو آهي.

لَاَنْتُمْ اَشَدُّ رَهْبَةً فِيْ صُدُوْرِهِمْ مِّنَ اللّٰهِ ۭ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ ⑬ لَا يُقَاتِلُوْنَكُمْ جَمِيْعًا اِلَّا فِيْ قُرًى مُّحَصَّنَةٍ اَوْ مِنْ وَّرَاۗءِ جُدُرٍ ۭ بَاْسُهُمْ بَيْنَهُمْ شَدِيْدٌ ۭ تَحْسَبُهُمْ جَمِيْعًا وَّقُلُوْبُهُمْ شَتّٰى ۭ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْقِلُوْنَ ⑭

بيشڪ توهان جو ڊپ انهن (ماڻهن) جي دلين ۾ الله کان به وڌيڪ آهي. اهو ان ڪري جو اهي ماڻهو سمجهه نه ٿا رکن. اهي سڀ ملي به توهان سان ڪڏهن به ويڙهه نه ڪندا، پر قلعن وارين محفوظ وسندين ۾ يا ڀتين جي آڙ ۾. پاڻ ۾ انهن جي ويڙهه تمام سخت آهي. تون کين متحد خيال ڪندو آهين ۽ انهن جون دليون ڌار ڌار آهن. اهو ان ڪري جو اهي عقل نه ٿا رکن. ١٣-١٤

---

الله جي طاقت بظاهر ڏسڻ ۾ نه ٿي اچي، پر انسانن جي طاقت ظاهر ۾ ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ان ڪري ظاهر پرست ماڻهن جو حال اهو هوندو آهي جو اهي الله کان بيخوف رهندا آهن. پر انسانن مان جيڪڏهن ڪو زور آور ڏسڻ ۾ اچي ته اهي فوراً ان جو ڊپ محسوس ڪرڻ لڳندا آهن. الله جي باري ۾

سندن بي شعوري ڪين دنيا جي باري ۾ بہ بي شعور بڻائي ڇڏيندي آهي.

اهڙا ماڻهو جن ڪي صرف منفي مقصد متحد ڪيو هجي، اهي گهڻي دير تائين پنهنجو اتحاد باقي نہ ٿا رکي سگهن. ڇاڪاڻ تہ پائيدار اتحاد لاءِ مثبت بنياد جي ضرورت هوندي آهي ۽ اهو انهن وٽ موجود ئي نہ آهي.

كَمَثَلِ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ قَرِيْبًا ذَاقُوْا وَبَالَ اَمْرِهِمْ ۚ وَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٥﴾ كَمَثَلِ الشَّيْطٰنِ اِذْ قَالَ لِلْاِنْسَانِ اكْفُرْ ۚ فَلَمَّا كَفَرَ قَالَ اِنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّنْكَ اِنِّيْٓ اَخَافُ اللّٰهَ رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦﴾ فَكَانَ عَاقِبَتَهُمَآ اَنَّهُمَا فِي النَّارِ خَالِدَيْنِ فِيْهَا ۭ وَ ذٰلِكَ جَزٰٓؤُا الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٧﴾

اهي انهن ماڻهن وانگر آهن جيڪي ڪانئن ٿورو اڳ پنهنجي ڪيل (ڪمن) جو مزو چکي چڪا آهن ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. جيئن شيطان انسان کي چوندو آهي تہ منڪر ٿي پؤ، پوءِ جڏهن هو منڪر ٿي ويندو آهي تہ هو چوندو آهي تہ آئون تو کان بيزار آهيان. آئون الله کان ڊڄان ٿو جيڪو سيني جهانن جو رب آهي، پوءِ ٻنهي جو انجام اهو ٿيو جو ٻئي باھ ۾ ويا، جتي اُهي هميشہ رهندا ۽ اها ئي ظالمن جي سزا آهي. ١٥-١٧

مديني جا منافق بنونضير کي مسلمانن خلاف ڀڙڪائيندا رهيا. انهن ان واقعي مان سبق نہ ورتو ۽ پوءِ جلد ئي پهرين قريش ۽ قبيلي بنو قينقاع مسلمانن خلاف اڳرائي ڪئي، پر ڪين زبردست شڪست ٿي. جيڪي ماڻهو شيطان کي پنهنجو مشير بنائين تہ سندن حال هميشہ اهوئي ٿيندو آهي. اهي واقعن مان نصيحت نہ ٿا وٺن. شروع ۾ اهي جوش ۽ جذبي سان ماڻهن کي گناھ جي ڪم تي اپاريندا آهن. پوءِ جڏهن ان ڪم جو برو انجام سامهون ايندو آهي تہ اهي طرح طرح جون ڳالهيون ڪرڻ چاهيندا آهن تہ ان جي ذميداري کان پاڻ کي بري ڪري وٺن، پر اهڙي قسم جون ڪوششون اهڙن ماڻهن کي الله جي پڪڙ کان بچائي نہ ٿيون سگهن.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَلْتَنْظُرْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٨﴾ وَ لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ نَسُوا اللّٰهَ فَاَنْسٰىهُمْ اَنْفُسَهُمْ ۭ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿١٩﴾ لَا يَسْتَوِيْٓ اَصْحٰبُ النَّارِ وَاَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۭ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ هُمُ الْفَاۗىِٕزُوْنَ ﴿٢٠﴾

اي ايمان وارو! الله کان ڊڄو ۽ هر ماڻهو ڏسي تہ هن سڀاڻي لاءِ ڇا موڪليو آهي ۽ الله کان ڊڄو. بيشڪ الله باخبر آهي جيڪي توهان ڪندا آهيو ۽ توهان انهن جهڙا نہ ٿي وڃجو جن الله کي وساريو تہ پوءِ الله انهن کان خود سندن جيئن کي وسارائي ڇڏيو. اهي ئي ماڻهو نافرمان آهن. دوزخ وارا ۽ جنت وارا برابر نہ آهن. جنت وارا ئي اصل ۾ ڪامياب آهن. ١٨-٢٠

انساني زندگي کي ”اڄ“ ۽ ”سڀاڻي“ جي وچ ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي. موجوده دنيا انسان جو اڄ آهي ۽ آخرت جي دنيا ان جو سڀاڻي آهي. انسان موجوده دنيا ۾ جيڪو ڪجھ ڪندو ان جو لازمي انجام ان کي اچڻ واري هميشہ واري زندگي ۾ ڏسڻو پوندو.

اهائي اصل حقيقت آهي ۽ ان حقيقت جو ٻيو نالو اسلام آهي. انسان جي ڪاميابي ان ۾ آهي جو هو ان حقيقت کي هميشه ذهن ۾ رکي. جيڪو ماڻهو ان حقيقت کان غافل ٿي ويندو ان جي سڄي زندگي غلط ٿي رهجي ويندي. ان معاملي ۾ مسلمان ۽ غيرمسلم جو ڪوبه فرق نه آهي. مسلمان کي ان جو فائدو ان ئي وقت ملندو جڏهن ته هو سچائي سان ان حقيقت تي ثابت قدم رهي. مسلمان جيڪڏهن غلفت ۾ پئجي وڃن ته سندن انجام به اهوئي ٿيندو جيڪو ان کان اڳ ۾ غفلت ۾ پيل يهودين جو ٿيو.

لَوْ اَنْزَلْنَا هٰذَا الْقُرْاٰنَ عَلٰى جَبَلٍ لَّرَاَيْتَهٗ خَاشِعًا مُّتَصَدِّعًا مِّنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ؕ وَ تِلْكَ
الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ ﴿۲۱﴾ هُوَ اللّٰهُ الَّذِيْ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ عٰلِمُ
الْغَيْبِ وَ الشَّهَادَةِ ۚ هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ ﴿۲۲﴾ هُوَ اللّٰهُ الَّذِيْ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلْمَلِكُ
الْقُدُّوْسُ السَّلٰمُ الْمُؤْمِنُ الْمُهَيْمِنُ الْعَزِيْزُ الْجَبَّارُ الْمُتَكَبِّرُ ؕ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا
يُشْرِكُوْنَ ﴿۲۳﴾ هُوَ اللّٰهُ الْخَالِقُ الْبَارِئُ الْمُصَوِّرُ لَهُ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى ؕ يُسَبِّحُ لَهٗ مَا فِي
ع السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ۚ وَ هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۲۴﴾

جيڪڏهن اسان هن قرآن کي ڪنهن جبل تي نازل ڪريون ها ته تون ڏسين ها ته اهو الله جي خوف کان دٻجي وڃي ها ۽ پرزا پرزا ٿي وڃي ها ۽ اهي مثال اسان ماڻهن لاءِ بيان ڪندا آهيون ته جيئن اهي سوچين. الله اهو آهي جنهن کان سواءِ ڪو معبود نه آهي، ڳجهه ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ آهي، اهو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي. الله اهو آهي جنهن کان سواءِ ڪو معبود نه آهي، بادشاهه سيني عيبن کان پاڪ، سراسر سلامتي، امن ڏيڻ وارو، نگهبان، غالب، زورآور، عظمت وارو، الله ان شرڪ کان پاڪ آهي جيڪي ماڻهو ڪري رهيا آهن، اهوئي الله آهي پيدا ڪرڻ وارو، وجود ۾ آڻڻ وارو، شڪلون ٺاهيندڙ، ان جا سڀئي سُٺا نالا آهن. هر شيءِ جيڪا آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سندس پاڪائي بيان ڪري رهي آهي ۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي. ٢١-٢٤

قرآن ان عظيم حقيقت جو اعلان آهي ته انسان آزاد نه آهي، بلڪ ان کي پنهنجن سيني عملن جو جواب الله جي سامهون ڏيڻو آهي جيڪو انتهائي طاقتور آهي ۽ هر ڪنهن جي عمل کي بذات خود چڱي طرح ڏسي رهيو آهي. اها خبر ايتري سنگين آهي جو جبل کي لوڏي ڇڏڻ لاءِ ڪافي آهي. پر انسان ايترو غافل ۽ بي حس آهي جو هو ان هيبتناڪ خبر کي ٻڌي به نه ٿو تڙپي.

الله جا نالا جيڪي هتي بيان ڪيا ويا آهن، اهي هڪ پاسي الله جي ذات جو تعارف آهن. ٻئي پاسي اُهي ٻڌائين ٿا ته اها هستي ايتري عظيم هستي آهي جيڪا انسانن جي خالق آهي ۽ سندن نگراني ڪري رهي آهي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي حقيقت ۾ ان جو احساس ٿي وڃي ته هو الله جي حمد ۽ تسبيح ۾ ٻڏي وڃي.

ڪائنات پنهجي تخليق جي صورت ۾ خدا جي صفتن جو آئينو آهي. اها پڻ حمد ۽ تسبيح ۾ مصروف ٿي ڪري انسان کي به حمد ۽ تسبيح جو سبق ڏئي رهي آهي.

اٰياتها ١٣　　(٦٠) سُوْرَةُ الْمُمْتَحِنَةِ مَدَنِيَّةٌ (٩١)　　رڪوعاتها ٢

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْا عَدُوِّيْ وَ عَدُوَّكُمْ اَوْلِيَآءَ تُلْقُوْنَ اِلَيْهِمْ بِالْمَوَدَّةِ وَ قَدْ
كَفَرُوْا بِمَا جَآءَكُمْ مِّنَ الْحَقِّ ۚ يُخْرِجُوْنَ الرَّسُوْلَ وَ اِيَّاكُمْ اَنْ تُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ رَبِّكُمْ ؕ
اِنْ كُنْتُمْ خَرَجْتُمْ جِهَادًا فِيْ سَبِيْلِيْ وَ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِيْ ۖ تُسِرُّوْنَ اِلَيْهِمْ بِالْمَوَدَّةِ ۖ وَ
اَنَا اَعْلَمُ بِمَاۤ اَخْفَيْتُمْ وَ مَاۤ اَعْلَنْتُمْ ؕ وَ مَنْ يَّفْعَلْهُ مِنْكُمْ فَقَدْ ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِيْلِ ①
اِنْ يَّثْقَفُوْكُمْ يَكُوْنُوْا لَكُمْ اَعْدَآءً وَّ يَبْسُطُوْۤا اِلَيْكُمْ اَيْدِيَهُمْ وَ اَلْسِنَتَهُمْ بِالسُّوْٓءِ وَ
وَدُّوْا لَوْ تَكْفُرُوْنَ ② لَنْ تَنْفَعَكُمْ اَرْحَامُكُمْ وَ لَاۤ اَوْلَادُكُمْ ۚ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۚ يَفْصِلُ
بَيْنَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ③

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

اي ايمان وارؤ! توهان منهنجي دشمنن ۽ پنهنجن دشمنن کي دوست نه بڻايو. توهان انهن ڏانهن دوستي جو پيغام موڪليو ٿا. حالانڪ انهن حق جو انڪار ڪيو جيڪو توهان وٽ آيو. اُهي رسول کي ۽ توهان کي ان ڪري (وطن مان) لوڏي ڪين ٿا جو توهان پنهنجي رب الله تي ايمان آندو. جيڪڏهن توهان منهنجي راهه ۾ جهاد ڪرڻ لاءِ ۽ منهنجي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ نڪتا آهيو ته (پوءِ ڇو) انهن ڏانهن دوستي جا ڳجها پيغام موڪليو ٿا. حالانڪ جيڪي ڳجهو ڪريو ٿا ۽ جيڪو پڌرو ڪريو ٿا سو آئون چڱي طرح ڄاڻندو آهيان ۽ جيڪو توهان مان ايئن ڪندو اهو سڌو رستو ڀلجي ويو. جيڪڏهن هو توهان تي قابو پائن ته اهي توهان جا دشمن بڻجي ويندا ۽ توهان ڏانهن پنهنجا هٿ ۽ پنهنجون زبانون ايذائڻ لاءِ ڊگهيون ڪندا ۽ چاهيندا ته توهان به ڪنهن طرح منڪر ٿي وڃو. توهان جا مائٽ ۽ توهان جي اولاد قيامت جي ڏينهن توهان جي ڪم نه ايندا. هو اوهان جي وچ ۾ فيصلو ڪندو ۽ الله ڏسندڙ آهي جيڪو توهان ڪندا آهيو. ١-٣

---

رسول اللهﷺ جڏهن مڪي ڏانهن پيش قدمي جو فيصلو ڪيو ته پاڻﷺ ان جو منصوبو نهايت خاموشي سان ٺاهيو، ته جيئن مڪي وارا مقابلي جي تياري نه ڪري سگهن. ان وقت هڪ بدري صحابي حاطب بن ابي بلتعه ان منصوبي کي هڪ خط ۾ لکيو ۽ خفيه طور مڪي وارن ڏانهن موڪلي ڇڏيو ته جيئن مڪي وارا هن کان خوش ٿي وڃن ۽ سندس ٻار ٻچن کي نه ستائين جيڪي مڪي ۾ رهندا هئا پر وحي جي ذريعي ان جو اطلاع ٿي ويو ۽ قاصد کي رستي ئي ۾ پڪڙيو ويو. هن قسم جو هر ڪم ايماني تقاضا جي خلاف آهي.

جڏهن صورتحال اها هجي جو اسلام ۽ غيراسلام جا الڳ الڳ محاذ بڻجي وڃن ته ان وقت اسلام وارن جي ذميداري هوندي آهي ته اهي غيراسلامي محاذ سان دلچسپي جو تعلق ٽوڙي وڃن. چاهي غيراسلامي محاذ ۾ سندن عزيز ۽ مٽ مائٽ ڇو نه هجن. حق کي ميڄڻ ۽ حق جو انڪار ڪرڻ وارن سان

قلبي تعلق رکڻ ٻئي ابتڙ شيون آهن جيڪي گڏ نہ ٿيون ٿي سگهن.

قَدْ كَانَتْ لَكُمْ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ فِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ وَ الَّذِيْنَ مَعَهٗ ۚ اِذْ قَالُوْا لِقَوْمِهِمْ اِنَّا بُرَءٰٓؤُا
مِنْكُمْ وَ مِمَّا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۫ كَفَرْنَا بِكُمْ وَ بَدَا بَيْنَنَا وَ بَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةُ وَ
الْبَغْضَآءُ اَبَدًا حَتّٰى تُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَحْدَهٗٓ اِلَّا قَوْلَ اِبْرٰهِيْمَ لِاَبِيْهِ لَاَسْتَغْفِرَنَّ لَكَ وَ مَآ
اَمْلِكُ لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ؕ رَبَّنَا عَلَيْكَ تَوَكَّلْنَا وَ اِلَيْكَ اَنَبْنَا وَ اِلَيْكَ الْمَصِيْرُ ﴿٤﴾ رَبَّنَا
لَا تَجْعَلْنَا فِتْنَةً لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ اغْفِرْ لَنَا رَبَّنَا ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٥﴾ لَقَدْ
كَانَ لَكُمْ فِيْهِمْ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنْ كَانَ يَرْجُوا اللّٰهَ وَ الْيَوْمَ الْاٰخِرَ ؕ وَ مَنْ يَّتَوَلَّ فَاِنَّ
اللّٰهَ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿٦﴾ عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّجْعَلَ بَيْنَكُمْ وَ بَيْنَ الَّذِيْنَ عَادَيْتُمْ مِّنْهُمْ ع
مَّوَدَّةً ؕ وَ اللّٰهُ قَدِيْرٌ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٧﴾

توهان لاءِ ابراهيم ۽ سندس ساٿين ۾ سٺو نمونو آهي. جڏهن ان پنهنجي قوم کي چيو تہ اسان توهان کان الڳ آهيون ۽ انهن شين کان جن جي توهان الله کان سواءِ عبادت ڪريو ٿا. اسان توهان جا منڪر آهيون ۽ اسان ۽ توهان جي وچ ۾ هميشہ لاءِ دشمني ۽ بيزاري پڌري ٿي چڪي، جيستائين توهان هڪ الله تي ايمان آڻيو. پر ابراهيم جو پنهنجي پيءُ کي اهو چوڻ تہ آئون تنهنجي لاءِ بخشش گهرندس ۽ آئون تولاءِ الله جي آڏو ڪنهن ڳالهہ جو اختيار نہ ٿو رکان. اي اسان جا رب! اسان تو تي ڀروسو ڪيو ۽ توڏانهن رجوع ڪيو ۽ توڏانهن ئي موٽڻ آهي. اي اسان جا رب! اسان کي ڪافرن لاءِ فتنو نہ بڻاءِ، اي اسان جا رب! اسان کي بخش ڪر. بيشڪ تون غالب حڪمت وارو آهين. بيشڪ توهان لاءِ اُن (جماعت) ۾ چڱو نمونو آهي. ان ماڻهو لاءِ جيڪو الله ۽ آخرت جي ڏينهن ۾ اميد رکندڙ آهي ۽ جيڪو ماڻهو منهن موڙيندو تہ الله بي نياز آهي، ساراهيل آهي. اميد آهي تہ الله توهان جي ۽ انهن ماڻهن جي وچ ۾ دوستي پيدا ڪري ڇڏي جن سان توهان جي دشمني آهي ۽ الله سگهارو آهي ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. ٤-٧

---

حضرت ابراهيم عليه السلام شروع ۾ خيرخواهي جي انداز ۾ پنهنجي خاندان کي توحيد جو پيغام ڏنو. جڏهن حجت پوري ٿيڻ جي باوجود ماڻهو منڪر ئي رهيا تہ پاڻ عليه السلام انهن کان بلڪل الڳ ٿي ويا، پر اهو وڏو سخت مرحلو هو. ڇاڪاڻ تہ بيزاري جي اعلان جو مطلب حق جي منڪرن کي اها دعوت ڏيڻ جي برابر آهي جو اهي هر ممڪن طريقي سان ايمان وارن کي ايذائن. دليل جي ميدان ۾ شڪست کائڻ کان پوءِ طاقت جي ميدان ۾ ايمان وارن کي ذليل ڪن. اهوئي سبب آهي جو ان کان پوءِ حضرت ابراهيم عليه السلام جيڪا دعا ڪئي، ان ۾ خاص طورتي فرمايو تہ اي اسان جا رب! اسان کي انهن ظالمن جي زيردست نہ ڪجانءِ.

عزيز ۽ مٽن مائٽن سان بيزاري جو اعلان عام معنيٰ ۾ دشمني جو اعلان نہ هوندو آهي، اهو داعي جي طرفان پنهنجي يقين جي اظهار ڪرڻ جو هڪ انداز آهي. ان لحاظ کان ان اعلان ۾ داعي جو يقين بہ شامل ٿي ويندو آهي، تنهن ڪري ڪڏهن ايئن ٿيندو آهي تہ جيڪو ماڻهو ”پيغام“ جي زبان کان متاثر نہ ٿيو تہ ”يقين“ جي زبان ان کي متاثر ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندي آهي.

لَا يَنْهٰىكُمُ اللّٰهُ عَنِ الَّذِيْنَ لَمْ يُقَاتِلُوْكُمْ فِي الدِّيْنِ وَ لَمْ يُخْرِجُوْكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ
اَنْ تَبَرُّوْهُمْ وَ تُقْسِطُوْٓا اِلَيْهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ ﴿٨﴾ اِنَّمَا يَنْهٰىكُمُ اللّٰهُ عَنِ
الَّذِيْنَ قٰتَلُوْكُمْ فِي الدِّيْنِ وَ اَخْرَجُوْكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ وَ ظٰهَرُوْا عَلٰٓى اِخْرَاجِكُمْ اَنْ
تَوَلَّوْهُمْ ۚ وَ مَنْ يَّتَوَلَّهُمْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٩﴾

الله توهان کي انهن ماڻهن کان نه ٿو جهلي جن دين جي معاملي ۾ توهان سان جنگ نه ڪئي ۽ (نه) توهان کي توهان جي گهرن مان ڪڍيو. توهان انهن سان چڱائي ڪريو ۽ توهان انهن سان انصاف ڪريو. بيشڪ الله انصاف ڪرڻ وارن کي پسند ڪري ٿو. الله ته رڳو انهن ماڻهن کان توهان کي منع ڪري ٿو جن دين جي معاملي ۾ توهان سان جنگ ڪئي ۽ توهان کي توهان جي گهرن مان ڪڍيو ۽ توهان جي ڪڍڻ ۾ مدد ڪئي ته توهان انهن سان دوستي (نه) ڪريو ۽ جيڪي انهن سان دوستي رکندا اُهي ئي ظالم آهن. ٨-٩

جيستائين عدل ۽ انصاف جو تعلق آهي، اهو هر ڪنهن سان ڪرڻ گهرجي، چاهي ٻي ڌر دشمن هجي يا دوست. پر دوستي جو تعلق هر ڪنهن سان صحيح نه آهي. دوستي رڳو ان سان جائز آهي جيڪو الله جو دوست هجي يا گهٽ ۾ گهٽ اهو الله جو دشمن نه هجي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا جَآءَكُمُ الْمُؤْمِنٰتُ مُهٰجِرٰتٍ فَامْتَحِنُوْهُنَّ ؕ اَللّٰهُ اَعْلَمُ
بِاِيْمَانِهِنَّ ۚ فَاِنْ عَلِمْتُمُوْهُنَّ مُؤْمِنٰتٍ فَلَا تَرْجِعُوْهُنَّ اِلَى الْكُفَّارِ ؕ لَا هُنَّ حِلٌّ لَّهُمْ وَ لَا
هُمْ يَحِلُّوْنَ لَهُنَّ ؕ وَ اٰتُوْهُمْ مَّآ اَنْفَقُوْا ؕ وَ لَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اَنْ تَنْكِحُوْهُنَّ اِذَآ
اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ ؕ وَ لَا تُمْسِكُوْا بِعِصَمِ الْكَوَافِرِ وَ سْـَٔلُوْا مَآ اَنْفَقْتُمْ وَ لْيَسْـَٔلُوْا
مَآ اَنْفَقُوْا ؕ ذٰلِكُمْ حُكْمُ اللّٰهِ ؕ يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿١٠﴾ وَ اِنْ فَاتَكُمْ
شَيْءٌ مِّنْ اَزْوَاجِكُمْ اِلَى الْكُفَّارِ فَعَاقَبْتُمْ فَاٰتُوا الَّذِيْنَ ذَهَبَتْ اَزْوَاجُهُمْ مِّثْلَ مَآ
اَنْفَقُوْا ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ اَنْتُمْ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ ﴿١١﴾

اي ايمان وارؤ! جڏهن توهان وٽ مسلمان عورتون هجرت ڪري اچن ته توهان ڪين جانچو. الله انهن جي ايمان کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو. پوءِ جيڪڏهن توهان ڄاڻي وٺو ته اُهي مؤمن آهن ته ڪين ڪافرن ڏانهن نه موٽايو. نه اُهي عورتون انهن لاءِ حلال آهن ۽ نه اهي انهن عورتن لاءِ حلال آهن ۽ ڪافر مڙسن جيڪو ڪجهه خرچ ڪيو آهي اهو انهن کي ادا ڪري ڇڏيو ۽ توهان تي ڪو گناهه نه آهي جيڪڏهن توهان انهن سان نڪاح ڪريو. جڏهن ته توهان انهن جا مهر ڪين ادا ڪريو ۽ توهان ڪافر عورتن کي پنهنجي نڪاح ۾ نه روڪي رکو ۽ جيڪو ڪجهه توهان خرچ ڪيو آهي سو گهري وٺو ۽ جيڪو ڪجهه ڪافرن خرچ ڪيو اُهي به توهان کان گهري وٺن. هي الله جو حڪم آهي. هو توهان جي وچ ۾ فيصلو ڪري ٿو ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي ۽ جيڪڏهن توهان جي زالن مان ڪا ڪافرن ڏانهن هلي وڃي، پوءِ (ڪافرن کي) ايذايو ته جن جو زالون ويون هجن تن کي اوترو ڏيو جيترو انهن خرچ ڪيو هو ۽ ان الله کان ڊڄو جنهن تي توهان ايمان آندو آهي. ١٠-١١

هتي صلح حديبيه کان پوءِ پيدا ٿيل حالتن جي روشني ۾ اسلام جا ڪجهه قانون ٻڌايا ويا آهن، جن جو تعلق دارالحرب ۽ دارالاسلام جي وچ ۾ پيش اچڻ وارن ڪجهه مسئلن سان آهي.

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ اِذَا جَآءَكَ الْمُؤْمِنٰتُ يُبَايِعْنَكَ عَلٰۤى اَنْ لَّا يُشْرِكْنَ بِاللّٰهِ شَيْـًٔا وَّ لَا يَسْرِقْنَ وَ
لَا يَزْنِيْنَ وَ لَا يَقْتُلْنَ اَوْلَادَهُنَّ وَ لَا يَاْتِيْنَ بِبُهْتَانٍ يَّفْتَرِيْنَهٗ بَيْنَ اَيْدِيْهِنَّ وَ اَرْجُلِهِنَّ وَ
لَا يَعْصِيْنَكَ فِيْ مَعْرُوْفٍ فَبَايِعْهُنَّ وَ اسْتَغْفِرْ لَهُنَّ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٢﴾

اي نبي! جڏهن تو وٽ مؤمن عورتون ان ڳالهه تي بيعت لاءِ اچن ته اهي الله سان ڪنهن شيءِ کي شريڪ نه ڪنديون ۽ اهي چوري نه ڪنديون ۽ اهي بدڪاري نه ڪنديون ۽ اهي پنهنجي اولاد کي قتل نه ڪنديون ۽ نه ڪي اهڙي ڪوڙي تهمت آڻينديون جنهن کي پنهنجن هٿن ۽ پنهنجن پيرن سان ٺاهيو هجي ۽ نه اهي ڪنهن چڱي ڪم ۾ تنهنجي نافرماني ڪنديون، تڏهن سندن بيعت قبول ڪر ۽ انهن لاءِ بخشش جي دعا ڪر. بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي. ١٢

هن آيت ۾ اُهي شرط ٻڌايا ويا آهن جن جو اقرار وٺي ڪري ڪنهن عورت کي اسلام ۾ داخل ڪيو وڃي ٿو. انهن شرطن ۾ ٻه شرط بنيادي آهن يعني شرڪ نه ڪرڻ ۽ رسول جي نافرماني نه ڪرڻ باقي سڀئي شرطون خود انهن ٻن شرطن ۾ شامل ٿي ويندا آهن.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَوَلَّوْا قَوْمًا غَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ قَدْ يَئِسُوْا مِنَ الْاٰخِرَةِ كَمَا
يَئِسَ الْكُفَّارُ مِنْ اَصْحٰبِ الْقُبُوْرِ ﴿١٣﴾ ع النصف ٢ ٨

اي ايمان وارؤ! توهان انهن ماڻهن کي دوست نه بڻايو جن تي الله جو غضب ٿيو. اهي آخرت کان نااميد ٿي ويا آهن جهڙي طرح قبرن ۾ پيل ڪافر نااميد آهن. ١٣

آسماني ڪتاب کي مڃڻ وارا يهودي ۽ ان کي نه مڃڻ وارا ڪافر آخرت جي لحاظ کان هڪ جهڙا آهن. پڌرن ڪافرن کي اميد نه هوندي آهي ته ڪو ماڻهو ٻيهر پنهنجي قبر مان اٿندو. اهوئي حال انهن ماڻهن جو به هوندو آهي جيڪي يهودين وانگر ايمان آڻڻ کان پوءِ غفلت ۾ ۽ بي حسي ۾ مبتلا ٿي ويا هجن. آخرت جو لفظي اقرار ڪرڻ جي باوجود سندن عملي زندگي اهڙي ئي ٿي ويندي آهي جهڙي پڌرن منڪرن جي زندگي.

اٰياتها ١٤ — (٦١) سُوْرَةُ الصَّفِّ مَدَنِيَّةٌ (١٠٩) — رکوعاتها ٢

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ۚ وَ هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿١﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا
لِمَ تَقُوْلُوْنَ مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ﴿٢﴾ كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَ اللّٰهِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ﴿٣﴾ اِنَّ اللّٰهَ

يُحِبُّ الَّذِيْنَ يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِهٖ صَفًّا كَاَنَّهُمْ بُنْيَانٌ مَّرْصُوْصٌ ④

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

الله جي پاڪائي بيان ڪندي آهي هر شيءِ جيڪا آسمانن ۾ زمين ۾ آهي ۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي. اي ايمان وارو! توهان اهڙي ڳالهه ڇو چوندا آهيو جيڪي توهان ڪندا نه آهيو. الله وٽ اها ڏاڍي ناراضگي جي ڳالهه آهي جو توهان اهڙي ڳالهه چؤ جيڪا توهان نه ڪريو. الله انهن ماڻهن کي پسند ڪري ٿو جيڪي سندن رستي ۾ اهڙي طرح ملي وڙهندا آهن ڄڻ اهي هڪ شيهو پلتيل ديوار آهن. ١-٤

---

انسان کان سواءِ جيڪا ڪائنات آهي ان ۾ ڪٿي به تضاد نه آهي. هن دنيا ۾ ڪاٺي هميشه ڪاٺي ئي رهندي ۽ جيڪا شيءِ پاڻ کي لوهه ۽ پٿر جي شڪل ۾ ظاهر ڪري، اها حقيقي تجربي ۾ به لوهه ۽ پٿر ئي ثابت ٿيندي آهي. انسان کي به ايئن ئي هئڻ گهرجي. انسان جي چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ هڪ جهڙائي هئڻ گهرجي، ايستائين جو ان وقت به جڏهن ماڻهو کي پنهنجي چوڻ جي اها قيمت ڏيڻي پوي جو هر قسم جي دشوارين جي باوجود اهو صبر جو جبل بڻجي وڃي.

وَ اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ لِمَ تُؤْذُوْنَنِيْ وَ قَدْ تَّعْلَمُوْنَ اَنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ ؕ فَلَمَّا زَاغُوْۤا اَزَاغَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ⑤

۽ جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو ته اي منهنجي قوم! مون کي ڇو ٿا ايذايو، حالانڪ توهان کي خبر آهي ته آئون توهان ڏانهن موڪليل رسول آهيان. پوءِ جڏهن انهن ڏنگائي ڪئي ته الله سندن دلين کي ڦيري ڇڏيو ۽ الله نافرمان ماڻهن کي هدايت نه ٿو ڏي. ٥

---

حضرت موسيٰ عليه السلام بني اسرائيل ڏانهن رسول ٿي آيا. بني اسرائيل ان وقت هڪ زوال يافته قوم هئي. انهن ۾ اهو حوصلو باقي نه رهيو هو ته جيڪو هو چون ان مطابق عمل به ڪن ۽ جيڪو ڪن اهوئي چون. تنهن ڪري سندن حال اهو هو جو حضرت موسيٰ عليه السلام جي هٿ تي ايمان جو اقرار به ڪندا هئا ۽ ان سان گڏ هر قسم جي بدعهدي ۽ نافرماني ۾ به مبتلا هئا. ايستائين جو حضرت موسيٰ عليه السلام سان پنهنجي بري سلوڪ کي جائز ثابت ڪرڻ لاءِ خود حضرت موسيٰ عليه السلام تي ڪوڙا الزام لڳائيندا هئا. بائيبل جي خروج ۽ گنتي جي سبقن ۾ ان جو تفصيل ڏسي سگهجي ٿو.

عهد ڪرڻ کان پوءِ عهد جي خلاف ورزي ماڻهو کي اڳ کان به وڌيڪ حق کان پري ڪري ڇڏي ٿي.

وَ اِذْ قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ يٰبَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ مُّصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيَّ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَ مُبَشِّرًۢا بِرَسُوْلٍ يَّاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِي اسْمُهٗۤ اَحْمَدُ ؕ فَلَمَّا جَآءَهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ قَالُوْا هٰذَا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ⑥ وَ مَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ وَ هُوَ يُدْعٰۤى اِلَى الْاِسْلَامِ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ⑦ يُرِيْدُوْنَ لِيُطْفِـُٔوْا نُوْرَ اللّٰهِ بِاَفْوَاهِهِمْ وَ اللّٰهُ مُتِمُّ نُوْرِهٖ وَ لَوْ كَرِهَ الْكٰفِرُوْنَ ⑧ هُوَ الَّذِيْۤ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى وَ

ع ٩ دِيۡنِ الۡحَقِّ لِيُظۡهِرَهٗ عَلَى الدِّيۡنِ كُلِّهٖ وَلَوۡ كَرِهَ الۡمُشۡرِكُوۡنَ ۝٩

۽ جڏهن عيسيٰ پٽ مريم چيو تہ اي بني اسرائيل! آئون توهان ڏانهن الله جو موڪليل رسول آهيان. تصديق ڪرڻ وارو آهيان ان توريت جو جيڪو مون کان اڳ ۾ موڪليل آهي ۽ خوشخبري ڏيڻ وارو آهيان هڪ رسول جي جيڪو مون کان پوءِ ايندو. ان جو نالو احمد هوندو. پوءِ جڏهن هو انهن وٽ پڌرين نشانين کڻي آيو تہ انهن چيو هي تہ پڌرو جادو آهي ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جنهن الله تي ڪوڙ ٻڌو. حالانڪ ان کي اسلام ڏانهن سڏيو ويندو آهي ۽ الله ظالم ماڻهن کي هدايت نہ ڏيندو آهي. اهي چاهين ٿا تہ الله جي روشني کي پنهنجن واتن سان وسائين. حالانڪ الله پنهنجي روشني کي پورو ڪري رهندو چاهي ڪافرن کي ڪيترو ئي ناگوار هجي. اهوئي آهي جنهن موڪليو پنهنجي رسول کي هدايت ۽ دين حق سان. تہ جيئن ان کي سڀني دينن تي غالب ڪري، چاهي مشرڪن کي ڪيترو ئي ناگوار هجي. ٦-٩

---

حضرت مسيح عليہ السلام جا معجزا ان ڳالھ جو ثبوت هئا تہ پاڻ عليہ السلام الله جا پيغمبر آهن. پر يهودين انهن معجزن کي جادو جو ڪرشمو چئي نظرانداز ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح قديم آسماني ڪتابن ۾ واضح طور تي پيغمبر آخرالزمان جي اڳڪٿي جي خبر موجود هئي، پر جڏهن پاڻ صلي الله عليہ وسلم آيا تہ يهودين ۽ نصارن ٻنهي پاڻ صلي الله عليہ وسلم جو انڪار ڪري ڇڏيو. انسان ايڏو ظالم آهي جو پڌرين حقيقتن جو اعتراف ڪرڻ لاءِ بہ تيار نہ ٿو ٿئي.

هنن آيتن ۾ غلبي مان مراد فڪري غلبو آهي. يعني الله ۽ مذهب جي باري ۾ جيترا غير موحداڻا عقيدا دنيا ۾ آهن، انهن کي شڪست ڏئي ڪري توحيد جي عقيدي کي غالب فڪر جي حيثيت ڏني وڃي. باقي سڀئي عقيدا هميشہ لاءِ فڪري طور تي مغلوب ٿي رهجي وڃن. قرآن ۾ اها اڳڪٿي انتهائي ناموافق حالتن ۾ سن ٣ هجري ۾ نازل ٿي، پر پوءِ اها حرف بہ حرف پوري ٿي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا هَلۡ اَدُلُّكُمۡ عَلٰى تِجَارَةٍ تُنۡجِيۡكُمۡ مِّنۡ عَذَابٍ اَلِيۡمٍ ۝١٠ تُؤۡمِنُوۡنَ بِاللّٰهِ وَرَسُوۡلِهٖ وَتُجَاهِدُوۡنَ فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ بِاَمۡوَالِكُمۡ وَاَنۡفُسِكُمۡ ؕ ذٰلِكُمۡ خَيۡرٌ لَّكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡنَ ۝١١ يَغۡفِرۡ لَكُمۡ ذُنُوۡبَكُمۡ وَيُدۡخِلۡكُمۡ جَنّٰتٍ تَجۡرِىۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ وَمَسٰكِنَ طَيِّبَةً فِىۡ جَنّٰتِ عَدۡنٍ ؕ ذٰلِكَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِيۡمُ ۝١٢ وَاُخۡرٰى تُحِبُّوۡنَهَا ؕ نَصۡرٌ مِّنَ اللّٰهِ وَفَتۡحٌ قَرِيۡبٌ ؕ وَبَشِّرِ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ۝١٣

اي ايمان وارؤ! ڇا آئون توهان کي اهڙو واپار ٻڌايان جيڪو توهان کي هڪ ڏکوئيندڙ عذاب کان بچائي وٺي. توهان الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ الله جي راهہ ۾ پنهنجي مال ۽ پنهنجي جان سان جهاد ڪريو. هي توهان لاءِ چڱو آهي، جيڪڏهن توهان کي سمجھ آهي. الله توهان جا گناھ معاف ڪندو ۽ توهان کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون ۽ سٺيون جايون جيڪي هميشہ رهڻ وارن باغن ۾ هونديون. اها وڏي ڪاميابي آهي ۽ هڪ ٻي شيءِ بہ جنهن جي توهان تمنا رکو ٿا. الله جي مدد ۽ ويجهي فتح ۽ مؤمنن کي خوشخبري ڏئي ڇڏ. ١٠-١٣

---

واپار ۾ ماڻهو پهرين ڏيندو آهي، پوءِ ان کي واپس ملندو آهي. دين جي جدوجهد ۾ بہ ماڻهو کي

پنهنجي قوت ۽ پنهنجو مال ڏيئڻو پوي ٿو. ان لحاظ کان اها بہ هڪ قسم جي تجارت آهي، البتہ دنياوي تجارت جو نفعو صرف دنيا ۾ ملندو آهي ۽ دين جي تجارت جو نفعو وڌيڪ اضافي سان دنيا ۾ بہ ملندو آهي ۽ آخرت ۾ بہ. پوءِ انهيءَ ”واپار“ مان غلبي جي راهہ بہ کلندي آهي، جيڪا موجوده دنيا ۾ ڪنهن جماعت لاءِ باعزت زندگي حاصل ڪرڻ جو سيني کان وڏو ذريعو آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا كُوۡنُوۡۤا اَنۡصَارَ اللّٰهِ كَمَا قَالَ عِيۡسَى ابۡنُ مَرۡيَمَ لِلۡحَوَارِيّٖنَ مَنۡ
اَنۡصَارِىۡۤ اِلَى اللّٰهِ‌ ؕ قَالَ الۡحَوَارِيُّوۡنَ نَحۡنُ اَنۡصَارُ اللّٰهِ فَاٰمَنَتۡ طَّآٮِٕفَةٌ مِّنۡۢ بَنِىۡۤ
ع ٢ ١٠ اِسۡرَآءِيۡلَ وَكَفَرَتۡ طَّآٮِٕفَةٌ ۚ فَاَيَّدۡنَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا عَلٰى عَدُوِّهِمۡ فَاَصۡبَحُوۡا ظٰهِرِيۡنَ ﴿۱۴﴾

اي ايمان وارؤ! توهان الله جا مددگار بڻجي وڃو جهڙي طرح عيسيٰ پٽ مريم حوارين کي چيو ڪير الله جي واسطي منهنجو مددگار ٿئي ٿو. حوارين چيو اسان آهيون الله جا مددگار، پوءِ بني اسرائيل مان هڪ ٽولي ايمان آندو ۽ ٻئي ٽولي انڪار ڪيو، پوءِ اسان ايمان وارن جي سندن دشمنن جي مقابلي ۾ مدد ڪئي، پوءِ اهي غالب ٿيا. ١٤

---

يهودين جي اڪثريت جيتوڻيڪ حضرت مسيحؑ جو انڪار ڪري ڇڏيو، پر انهن ۾ ڪجهہ ماڻهو (حواري) اهڙا هئا جن پوري اخلاص ۽ وفاداري سان پاڻؑ جو ساٿ ڏنو ۽ پاڻؑ جي پيغمبراڻي مشن کي اڳتي وڌايو. اهي ئي ڪجهہ ماڻهو الله جي نظر ۾ مؤمن قرار ڏنا ويا ۽ باقي سيئي يهودي اڳين پيغمبرن کي مڃڻ جي باوجود ڪافر قرار ڏنا ويا.

هتي جنهن غلبي جو ذڪر آهي، اهو مسيحؑ جي مؤمنن جو مسيحؑ جي منڪرن تي غلبو آهي. حضرت مسيحؑ کان پوءِ رومي شهنشاهہ قسطنطين (پيو (٣٣٧- ٢٧٢ع) نصرانيت قبول ڪري ورتي. جنهن جي سلطنت شام ۽ فلسطين تائين ڦهليل هئي. ان کان پوءِ رومي عوام وڏي تعداد ۾ عيسائي ٿي وئي، تنهن ڪري يهودي سندن محڪوم ٿي ويا. موجوده زماني ۾ بہ يهودين جي اسرائيلي حڪومت هر لحاظ کان عيسائين جي ماتحت آهي.

اٰياتها ١١ (٦٢) سُوۡرَةُ الۡجُمُعَةِ مَدَنِيَّةٌ (١١٠) رکوعاتها ٢

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

يُسَبِّحُ لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الۡاَرۡضِ الۡمَلِكِ الۡقُدُّوۡسِ الۡعَزِيۡزِ الۡحَكِيۡمِ ﴿۱﴾ هُوَ
الَّذِىۡ بَعَثَ فِى الۡاُمِّيّٖنَ رَسُوۡلًا مِّنۡهُمۡ يَتۡلُوۡا عَلَيۡهِمۡ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيۡهِمۡ وَيُعَلِّمُهُمُ
الۡكِتٰبَ وَالۡحِكۡمَةَ ‌ۗ وَاِنۡ كَانُوۡا مِنۡ قَبۡلُ لَفِىۡ ضَلٰلٍ مُّبِيۡنٍۙ ﴿۲﴾ وَّاٰخَرِيۡنَ مِنۡهُمۡ لَمَّا
يَلۡحَقُوۡا بِهِمۡ‌ ؕ وَهُوَ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ ﴿۳﴾ ذٰلِكَ فَضۡلُ اللّٰهِ يُؤۡتِيۡهِ مَنۡ يَّشَآءُ‌ ؕ وَاللّٰهُ ذُو
الۡفَضۡلِ الۡعَظِيۡمِ ﴿۴﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

الله جي پاڪائي بيان ڪري رهي آهي هر اُها شيءِ جيڪا آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪا زمين ۾ آهي. جيڪو بادشاھ آهي پاڪ آهي غالب حڪمت وارو آهي. (الله) اهو آهي جنهن اڻ پڙهيلن ۾ انهن جي (قوم) مان هڪ رسول پيدا ڪيو. هو کين سندس آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو ۽ انهن کي پاڪ ڪري ٿو ۽ انهن کي ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏي ٿو ۽ اهي ان کان اڳ ۾ پڌري گمراهي ۾ هئا ۽ انهن مان ٻين لاءِ به جيڪي اڃا انهن (مسلمانن) سان نه مليا آهن ۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي. اهو الله جو فضل آهي هو جنهن کي وٽيس تنهن کي عطا ڪري ٿو ۽ الله وڏي فضل وارو آهي. ١-٤

---

انسان جي هدايت لاءِ رسول موڪلڻ الله جي انهن صفتن جو انساني سطح تي ظهور آهي جن صفتن جو ظهور مادي لحاظ کان ڪائنات جي سطح تي ٿي رهيو آهي. رسول اللهﷺ ۽ اهڙي طرح ٻين پيغمبرن جا ڪم خاص طور تي ٻه قسم جا آهن، هڪ الله جي وحي کي ماڻهن تائين پهچائڻ. ٻيو ماڻهن جي شعور کي بيدار ڪرڻ، ته جيئن اهي خدائي ڳالهين کي سمجهن ۽ پنهنجي حقيقي زندگي انهن جي مطابق بدلائي وٺن. اهي ٻئي ٻه ڪم آئنده به دعوت ۽ اصلاح جي جدوجهد ۾ گهربل رهندا. يعني قرآن جي تعليم ۽ ذهني تربيت.

مَثَلُ الَّذِيْنَ حُمِّلُوا التَّوْرٰىةَ ثُمَّ لَمْ يَحْمِلُوْهَا كَمَثَلِ الْحِمَارِ يَحْمِلُ اَسْفَارًا ؕ بِئْسَ
مَثَلُ الْقَوْمِ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ۝٥ قُلْ يٰۤاَيُّهَا
الَّذِيْنَ هَادُوْۤا اِنْ زَعَمْتُمْ اَنَّكُمْ اَوْلِيَآءُ لِلّٰهِ مِنْ دُوْنِ النَّاسِ فَتَمَنَّوُا الْمَوْتَ اِنْ كُنْتُمْ
صٰدِقِيْنَ ۝٦ وَ لَا يَتَمَنَّوْنَهٗۤ اَبَدًاۢ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ ۝٧ قُلْ اِنَّ
الْمَوْتَ الَّذِىْ تَفِرُّوْنَ مِنْهُ فَاِنَّهٗ مُلٰقِيْكُمْ ثُمَّ تُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ وَ الشَّهَادَةِ
ع فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۝٨

جن ماڻهن کي توريت جو بار کڻايو ويو، پوءِ انهن ان کي نه کنيو تن جو مثال ان گڏھ وانگر آهي جيڪو ڪتابن جو بار کڻي، ڪيڏو نه بڇڙو مثال آهي انهن ماڻهن جو جن الله جي آيتن کي ڪوڙو ڄاتو ۽ الله ظالم ماڻهن کي هدايت نه ٿو ڏي. چؤ اي يهوديو! جيڪڏهن توهان جو گمان آهي ته توهان ٻين جي مقابلي ۾ الله کي محبوب آهيو ته توهان موت جي تمنا ڪريو. جيڪڏهن توهان سچا آهيو ۽ اهي ڪڏهن ان جي تمنا نه ڪندا انهن ڪمن جي سبب جن کي سندن هٿ اڳيان موڪلي چڪا آهن ۽ الله ظالمن کي ڄاڻندڙ آهي چؤ ته جنهن موت کان ڀڄندا آهيو، اهو توهان تي اچي رهندو. پوءِ توهان ڳجهه ۽ ظاهر کي ڄاڻندڙ ڏانهن موٽايا ويندؤ پوءِ هو توهان کي ٻڌائيندو جيڪي توهان ڪندا رهيا آهيو. ٥-٨

---

الله جو ڪتاب ڪنهن قوم کي ان ڪري ڏنو ويندو آهي ته اها قوم ان کي سمجهي ۽ پنهنجي زندگي ان مطابق گذاري، پر جيڪا قوم ان معنيٰ ۾ آسماني ڪتاب جو بار نه کڻي سگهي ته ان جو مثال ان گڏھ جهڙو آهي جنهن تي علم جا ڪتاب رکيل هجن ۽ ان کي ڪجھ خبر نه هجي ته ان جي مٿان ڇاپيو

آهي. يهودين جيتوڻيڪ عملي طور تي الله جي دين کي ڇڏي ڏنو هو، پر ان جي باوجود اُهي دين کي پنهنجو قومي فخر ٻڌائي وينا هئا. پر اهڙي قسم جو فخر ڪنهن جي ڪجهه ڪم اچڻ وارو نه آهي. اهڙو فخر هميشه ڪوڙو فخر هوندو آهي ۽ ان جو هڪ ثبوت اهو آهي ته ماڻهو جنهن دين کي پنهنجي فخر جو سامان ٺاهي وينو هو. هو ان جي لاءِ قرباني ڏيڻ لاءِ تيار نه ٿو ٿئي. جڏهن موت ايندي ته اهڙا ماڻهو چاڻي وٺندا ته دنيا ۾ اهي جنهن فخر تي زندگي گذاري رهيا هئا، اهو آخرت ۾ انهن کي ذلت کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه ڏيندو.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِذَا نُوۡدِىَ لِلصَّلٰوةِ مِنۡ يَّوۡمِ الۡجُمُعَةِ فَاسۡعَوۡا اِلٰى ذِكۡرِ اللّٰهِ وَ ذَرُوا
الۡبَيۡعَ‌ؕ ذٰ لِكُمۡ خَيۡرٌ لَّـكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡنَ‏ ﴿۹﴾ فَاِذَا قُضِيَتِ الصَّلٰوةُ فَانْتَشِرُوۡا فِى
الۡاَرۡضِ وَابۡتَغُوۡا مِنۡ فَضۡلِ اللّٰهِ وَاذۡكُرُوا اللّٰهَ كَثِيۡرًا لَّـعَلَّكُمۡ تُفۡلِحُوۡنَ‏ ﴿۱۰﴾ وَاِذَا رَاَوۡا
تِجَارَةً اَوۡ لَهۡوَا۟ اۨنْفَضُّوۡۤا اِلَيۡهَا وَتَرَكُوۡكَ قَآئِمًا‌ ؕ قُلۡ مَا عِنۡدَ اللّٰهِ خَيۡرٌ مِّنَ اللَّهۡوِ وَمِنَ
ع التِّجَارَةِ‌ ؕ وَاللّٰهُ خَيۡرُ الرّٰزِقِيۡنَ‏ ﴿۱۱﴾
١٢

اي ايمان وارؤ! جڏهن جمعي جي ڏينهن نماز لاءِ سڏيو وڃي ته الله جي ياد ڏانهن ڊوڙو ۽ واپار کي ڇڏيو. اهو توهان لاءِ بهتر آهي جيڪڏهن توهان ڄاڻو. پوءِ جڏهن نماز پوري ٿي وڃي ته زمين تي پکڙجي وڃو ۽ الله جو فضل تلاش ڪريو ۽ الله کي گهڻو ياد ڪريو ته جيئن توهان ڪامياب ٿيو ۽ جڏهن اُهي ڪو واپار يا ڪو تماشو ڏسندا آهن ته ان ڏانهن ڊوڙي پوندا آهن ۽ توکي بيٺل ڇڏي ڏيندا آهن. چؤ ته جيڪو الله وٽ آهي اهو کيل تماشي ۽ واپار کان بهتر آهي ۽ الله بهترين رزق ڏيڻ وارو آهي. ٩-١١

---

دنيا ۾ ماڻهو ٻن تقاضن جي وچ ۾ هوندو آهي، هڪ روزي جو تقاضو ۽ ٻيو دين جو تقاضو. اهي ٻئي تقاضا ضروري آهن. البته انهن جي وچ ۾ تقسيم اهڙي طرح هئڻ گهرجي جو معاشي سرگرميون ديني تقاضي جي تحت هجن. ماڻهو کي اجازت آهي ته هو جائز حدن ۾ روزي لاءِ ڊوڙ ڊڪ ڪري. پر اهو ضروري آهي ته ان کي جيڪا معاشي ڪاميابي حاصل ٿئي ته هو ان کي سراسر الله جو فضل سمجهي ۽ معاشي سرگرمي جي دوران برابر الله کي ياد ڪندو رهي، ان ئي سان گڏ ان کي هميشه تيار رهڻ گهرجي ته جڏهن به دين جي ڪنهن تقاضي لاءِ سڏيو وڃي ته هو ان وقت هر ڪم کي ڇڏي دين جي ڪم لاءِ ڊوڙي پوي.

مديني ۾ هڪ دفعو جمعي جي خطبي وقت ڪجهه ماڻهو اٿي بازار هليا ويا، ان تي اهي آيتون نازل ٿيون. هن حڪم جو تعلق جيتوڻيڪ براهه راست جمعي سان آهي، پر بلواسطه طور تي هر ديني ڪم سان آهي. جڏهن به ڪنهن خاص ديني مقصد لاءِ ماڻهن کي جمع ڪيو وڃي ته امير جي اجازت جي بغير اٿي هليو وڃڻ سخت محرومي جي ڳالهه آهي.

اٰياتها ١١ (٦٣) سُوْرَةُ الْمُنٰفِقُوْنَ مَدَنِيَّةٌ (١٠٤) ركوعاتها ٢

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اِذَا جَآءَكَ الْمُنٰفِقُوْنَ قَالُوْا نَشْهَدُ اِنَّكَ لَرَسُوْلُ اللّٰهِ ۘ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ اِنَّكَ لَرَسُوْلُهٗ ؕ وَ
اللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَكٰذِبُوْنَ ۚ﴿١﴾ اِتَّخَذُوْۤا اَيْمَانَهُمْ جُنَّةً فَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ
اللّٰهِ ؕ اِنَّهُمْ سَآءَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٢﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا فَطُبِعَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ
فَهُمْ لَا يَفْقَهُوْنَ ﴿٣﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

جڏهن منافق تو وٽ ايندا آهن ته چوندا آهن اسان شاهدي ڏيون ٿا ته بيشڪ تون الله جو رسول آهين ۽ الله ڄاڻي ٿو ته بيشڪ تون سندس رسول آهين ۽ الله شاهدي ڏي ٿو ته هي منافق ڪوڙا آهن. انهن پنهنجن قسمن کي ڍال بڻائي رکيو آهي، پوءِ اهي الله جي واٽ کان جهلين ٿا. بيشڪ نهايت بڇڙو آهي جيڪو اهي ڪري رهيا آهن. اهو ان ڪري جو انهن ايمان آندو، پوءِ انهن ڪفر ڪيو، پوءِ انهن جي دلين تي مهر هڻئي وئي. تنهن ڪري اهي نه ٿا سمجهن. ١-٣

---

اها ڪنهن ماڻهو جي نفاق جي علامت آهي جو هو وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪري ۽ قسمون کڻي پنهنجي ڳالهه جو يقين ڏياري. مخلص ماڻهو الله جي خوف کان دٻل هوندو آهي. اهو زبان کان وڌيڪ دل سان ڳالهائي ٿو. منافق ماڻهو صرف انسان کي پنهنجي آواز ٻڌائڻ جو شوق رکي ٿو ۽ مخلص ماڻهو الله کي ٻڌائڻ جو.

جڏهن هڪ ماڻهو ايمان آڻي ٿو ته هو هڪ سنجيده عهد ڪندو آهي، ان کان پوءِ زندگي ۾ اهڙا موقعا ايندا آهن جتي ضرورت هوندي آهي جو هو ان عهد جي مطابق عمل ڪري. هاڻي جيڪو ماڻهو اهڙن موقعن تي پنهنجي دل جو آواز ٻڌي عهد جا تقاضا پورا ڪندو ڄڻ هن پنهنجي ايمان جي عهد کي پختو ڪيو. ان جي ابتڙ جنهن جو اهو حال هجي جو هن جي دل آواز ڏنو، پر هن دل جي آواز کي نظرانداز ڪري عهد جي خلاف عمل ڪيو ته ان جو نتيجو اهو ٿيندو جو هو آهستي آهستي پنهنجي ايمان جي عهد جي معاملي ۾ بي حس ٿي ويندو. اهوئي مطلب آهي دل تي مهر لڳڻ جو.

وَ اِذَا رَاَيْتَهُمْ تُعْجِبُكَ اَجْسَامُهُمْ ؕ وَ اِنْ يَّقُوْلُوْا تَسْمَعْ لِقَوْلِهِمْ ؕ كَاَنَّهُمْ خُشُبٌ
مُّسَنَّدَةٌ ؕ يَحْسَبُوْنَ كُلَّ صَيْحَةٍ عَلَيْهِمْ ؕ هُمُ الْعَدُوُّ فَاحْذَرْهُمْ ؕ قٰتَلَهُمُ اللّٰهُ ۫ اَنّٰى
يُؤْفَكُوْنَ ﴿٤﴾ وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا يَسْتَغْفِرْ لَكُمْ رَسُوْلُ اللّٰهِ لَوَّوْا رُءُوْسَهُمْ وَ رَاَيْتَهُمْ
يَصُدُّوْنَ وَ هُمْ مُّسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٥﴾ سَوَآءٌ عَلَيْهِمْ اَسْتَغْفَرْتَ لَهُمْ اَمْ لَمْ تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ ؕ
لَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِی الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٦﴾

۾ جڏھن تون انھن کي ڏسندين تہ سندن جسم توکي سٺا لڳندا آھن ۽ جيڪڏھن اھي ڳالھائين تہ تون سندن ڳالھہ کي ڌيان سان ٻڌندين. پر اھي ائين آھن ڄڻ ڪاٺ جا ڪنڌ ٽيڪيل آھن. اُھي ھر ڪنھن رڙ کي پاڻ خلاف (ھڪ آفت) سمجھندا آھن. اھي ئي ماڻھو دشمن آھن. تنھن ڪري انھن کان خبردار رھہ. الله کين ھلاڪ ڪري اھي ڪيڏانھن ڦيرايا ٿا وڃن ۽ جڏھن کين چيو ويندو آھي تہ اچو الله جو رسول توھان لاءِ بخشش گھري، تڏھن پنھنجا مٿا موڙيندا آھن ۽ تون انھن کي ڏسندين تہ ھو تڪبر ڪندي منھن موڙين ٿا. انھن لاءِ برابر آھي تہ تون انھن لاءِ بخشش گھرين يا بخشش نہ گھرين. الله ھرگز انھن کي معاف نہ ڪندو. الله نافرمان ماڻھن کي ھدايت نہ ڏيندو. ٤-٦

---

منافق ماڻھو مصلحت پرستي جي ذريعي پنھنجي مفاد کي محفوظ رکي ٿو. ھو حق ۽ ناحق جي بحث ۾ نہ پوندو آھي، ان ڪري ھر ڪنھن سان نڀي ھلڻ ان لاءِ ممڪن ٿي ويندو آھي. سندس زندگي غم کان خالي ھوندي آھي. اھي شيون سندس جسم کي متارو بڻائي ڇڏينديون آھن. ھو ماڻھن جي مزاج مطابق ڳالھائيندو آھي، تنھن ڪري سندس ڳالھين ۾ ھرڪو دلچسپي وٺندو آھي. پر اھي ڏسڻ ۾ بظاھر سرسبز وڻ وانگر ڏسڻ ۾ ايندا آھن، پر حقيقت ۾ اُھي رڳو سڪل ڪاٺين وانگر ھوندا آھن جن ۾ ڪا زندگي نہ ھجي. اھي اندر ۾ بزدل ھوندا آھن. انھن وٽ سندن دنيا جو مفاد ديني مفاد کان وڌيڪ اھم ھوندو آھي. اھڙا ماڻھو ايمان جي دعويٰ ڪرڻ جي باوجود الله جي ھدايت کان بلڪل محروم ھوندا آھن.

هُمُ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ لَا تُنْفِقُوْا عَلٰى مَنْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ حَتّٰى يَنْفَضُّوْا ؕ وَلِلّٰهِ خَزَآئِنُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلٰكِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَا يَفْقَهُوْنَ ۝ يَقُوْلُوْنَ لَئِنْ رَّجَعْنَآ اِلَى الْمَدِيْنَةِ لَيُخْرِجَنَّ الْاَعَزُّ مِنْهَا الْاَذَلَّ ؕ وَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ وَلِرَسُوْلِهٖ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَلٰكِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝٨ ع ١٣

اھي ئي آھن جيڪي چوندا آھن تہ جيڪي ماڻھو رسول وٽ آھن انھن تي خرچ نہ ڪريو، ايستائين جو اھي ڇڙوڇڙ ٿي وڃن ۽ آسمانن ۽ زمين جا خزانا الله ئي جا آھن، پر منافق نہ ٿا سمجھن. اُھي چوندا آھن جڏھن اسان مديني موٽنداسون تہ عزت وارو اُتان بيعزت کي ڪڍي ڇڏيندو، حالانڪ عزت الله لاءِ ۽ سندس رسول لاءِ ۽ مؤمنن لاءِ آھي، پر منافق نہ ٿا ڄاڻن. ٧-٨

---

قديم مديني ۾ ٻن قسمن جا مسلمان ھئا. ھڪ مھاجر ۽ ٻيا انصار. مھاجر مڪي مان بي وطن ٿي آيا ھئا. سندن سيني کان وڌو ظاھري سھارو مقامي مسلمان (انصار) ھئا. ان ڪري دنيا پرست ماڻھن کي مھاجر بيعزت ڏسڻ ۾ ايندا ھئا ۽ انصار سندن نظر ۾ عزت وارا ماڻھو ھئا، ايستائين جو ھڪ موقعي تي عبدالله بن ابي صاف طور چئي ڇڏيو تہ انھن مھاجرن جي حقيقت ڪھڙي آھي. جيڪڏھن اسان انھن کي پنھنجي وسندي مان ڪڍي ڇڏيون تہ دنيا ۾ ڪٿي بہ انھن کي جاءِ نہ ملي.

اھڙي قسم جا لفظ ان ئي ماڻھو جي زبان مان نڪري سگھن ٿا، جيڪو ان حقيقت کان بي خبر ھجي تہ ھن دنيا ۾ جيڪو ڪجھہ آھي سڀ الله جو آھي. اھوئي جنھن کي چاھي ڏي ۽ جنھن کان چاھي کسي وٺي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُلْهِكُمْ اَمْوَالُكُمْ وَ لَاۤ اَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ۚ وَ مَنْ يَّفْعَلْ
ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۹﴾ وَ اَنْفِقُوْا مِنْ مَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ اَحَدَكُمُ
الْمَوْتُ فَيَقُوْلَ رَبِّ لَوْ لَاۤ اَخَّرْتَنِيْۤ اِلٰۤى اَجَلٍ قَرِيْبٍ ۙ فَاَصَّدَّقَ وَ اَكُنْ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۱۰﴾ وَ
ع ۲ ۱۴ لَنْ يُّؤَخِّرَ اللّٰهُ نَفْسًا اِذَا جَآءَ اَجَلُهَا ۭ وَ اللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۱﴾

اي ايمان وارؤ! توهان جو مال ۽ توهان جو اولاد توهان کي الله جي ياد کان غافل نہ ڪري ۽ جيڪي ايئن ڪندا اهي ئي خساري ۾ پوڻ وارا ماڻهو آهن ۽ اسان جيڪو ڪجهه توهان کي ڏنو آهي ان مان خرچ ڪريو. ان کان اڳ ۾ جو توهان ڪنهن (هڪ) کي موت اچي وڃي، پوءِ هو چوڻ لڳي تہ اي منهنجا رب! مون کي ڪجهه وڌيڪ مهلت ڇو نہ ڏني جو آئون صدقو ڪريان ها ۽ نيڪ ماڻهن ۾ شامل ٿي وڃان ها ۽ الله هرگز ڪنهن جان کي مهلت نہ ٿو ڏي جڏهن ان جو اجل اچي وڃي ۽ الله ڄاڻي ٿو جيڪي توهان ڪندا آهيو. ٩-١١

---

هر ماڻهو لاءِ سڀني کان وڏو مسئلو آخرت جو مسئلو آهي، پر مال ۽ اولاد انسان کي ان سڀ کان وڏي مسئلي کان غافل ڪري ڇڏيندا آهن. انسان کي سمجهڻ گهرجي تہ مال ۽ اولاد مقصد نہ آهي، بلڪ ذريعو آهي. اِهو ان ڪري جو مال ۽ اولاد ڪنهن کي ان لاءِ ڏنا ويندا آهن جو هو انهن کي الله جي ڪم ۾ لڳائي. هو انهن کي پنهنجي آخرت ٺاهڻ لاءِ استعمال ڪري، پر نادان ماڻهو مال ۽ اولاد کي مقصد سمجهي وٺندو آهي. اهڙا ماڻهو جڏهن پنهنجي آخري انجام کي پهچندا تہ اُتي انهن لاءِ حسرت ۽ افسوس کان سواءِ ڪجهه بہ نہ هوندو.

اٰياتها ١٨ (٦٤) سُوْرَةُ التَّغَابُنِ مَدَنِيَّةٌ (١٠٨) رکوعاتها ٢

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

يُسَبِّحُ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ۚ لَهُ الْمُلْكُ وَ لَهُ الْحَمْدُ ۡ وَ هُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ
قَدِيْرٌ ﴿۱﴾ هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ فَمِنْكُمْ كَافِرٌ وَّ مِنْكُمْ مُّؤْمِنٌ ۭ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۲﴾
خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ بِالْحَقِّ وَ صَوَّرَكُمْ فَاَحْسَنَ صُوَرَكُمْ ۚ وَ اِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ﴿۳﴾ يَعْلَمُ
مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ يَعْلَمُ مَا تُسِرُّوْنَ وَ مَا تُعْلِنُوْنَ ۭ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿۴﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

الله جي پاڪائي بيان ڪري رهي آهي هر شيءِ جيڪا آسمانن ۾ آهي ۽ هر شيءِ جيڪا زمين ۾ آهي سندس ئي بادشاهي آهي ۽ سندس ئي ساراهہ آهي ۽ اهو هر شيءِ تي وس وارو آهي اهوئي آهي جنهن توهان کي پيدا ڪيو پوءِ توهان ۾ ڪو ڪافر آهي ۽ ڪو مؤمن ۽ الله ڏسي رهيو آهي جيڪي ڪجهه توهان ڪندا آهيو ان آسمانن ۽ زمين کي ٺيڪ رٿ سان پيدا ڪيو ۽ هن توهان جي صورت ٺاهي پوءِ نهايت سٺي صورت ٺاهي ۽ ان ئي ڏانهن موٽڻ آهي هو ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهه آسمانن ۽ زمين ۾ آهي ۽ هو ڄاڻي ٿو جيڪي توهان لڪائيندا آهيو ۽ جيڪي توهان ظاهر ڪندا آهيو ۽ الله سينن جو ڳجهہ ڄاڻيندڙ آهي. ١-٤

---

”ڪائنات الله جي تسبيح ڪري رهي آهي.“ ان جو مطلب اهو آهي ته الله جنهن حقيقت کي قرآن ۾ ٻڌايو آهي، ڪائنات سراسر ان جي تصديق ڪري رهي آهي. ڪائنات پنهنجي زبان سان حمد ۽ ساراهه جي حد تائين ان جي تصديق ڪري رهي آهي. قرآن ۽ ڪائنات ٻنهي جي اعلان جي باوجود جيڪي ماڻهو مؤمن نه ٿين، انهن کي پوءِ ٽئين اعلان جو انتظار ڪرڻ گهرجي، جڏهن سڀئي ماڻهو الله وٽ جمع ڪيا ويندا، ته جيئن خود مالڪ ڪائنات جي زبان سان پنهنجي باري ۾ آخري فيصلي کي ٻڌن.

اَلَمۡ یَاۡتِکُمۡ نَبَؤُا الَّذِیۡنَ کَفَرُوۡا مِنۡ قَبۡلُ ۫ فَذَاقُوۡا وَبَالَ اَمۡرِهِمۡ وَ لَهُمۡ عَذَابٌ
اَلِیۡمٌ ﴿۵﴾ ذٰلِکَ بِاَنَّهٗ کَانَتۡ تَّاۡتِیۡهِمۡ رُسُلُهُمۡ بِالۡبَیِّنٰتِ فَقَالُوۡۤا اَبَشَرٌ یَّهۡدُوۡنَنَا ۫ فَکَفَرُوۡا وَ
تَوَلَّوۡا وَّ اسۡتَغۡنَی اللّٰهُ ؕ وَ اللّٰهُ غَنِیٌّ حَمِیۡدٌ ﴿۶﴾

ڇا توهان کي انهن ماڻهن جي خبر نه پهتي جن هن کان اڳ انڪار ڪيو. پوءِ انهن پنهنجي ڪئي جي سزا چکي ۽ سندن لاءِ هڪ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. اهو ان ڪري جو انهن وٽ سندن رسول پڌري دليلن سان آيا ته انهن چيو ته ڇا اسان جي (انسان جهڙا) ماڻهو رهنمائي ڪندا. پوءِ انهن انڪار ڪيو ۽ منهن موڙيو ۽ الله انهن کان بي پرواهه ٿي ويو ۽ الله بي پرواهه ساراهيل آهي. ٥-٦

قديم زماني ۾ رسولن جي ذريعي جيڪا تاريخ ٺهي آهي، اها انسانن لاءِ عبرت جو مستقل نمونو آهي. مثال طور عاد ۽ ثمود ۽ اهل مدين ۽ لوط جي قوم وغيره وٽ پيغمبر آيا. انهن پيغمبرن وٽ پنهنجي سچائي ٻڌائڻ لاءِ ڪو غيربشري ڪمال نه هو، بلڪ صرف دليل هو. دليل جي سطح تي انڪار انهن قومن کي عذاب جو مستحق بڻائي ڇڏيو. ان مان معلوم ٿيو ته هن دنيا ۾ ماڻهو جو امتحان اهو آهي جو هو دليل جي سطح تي حق کي سڃاڻي، جيڪو ماڻهو دليل جي سطح تي حق کي سڃاڻڻ ۾ ناڪام رهندو، اهو هميشه لاءِ حق کان محروم رهجي ويندو.

زَعَمَ الَّذِیۡنَ کَفَرُوۡۤا اَنۡ لَّنۡ یُّبۡعَثُوۡا ؕ قُلۡ بَلٰی وَ رَبِّیۡ لَتُبۡعَثُنَّ ثُمَّ لَتُنَبَّؤُنَّ بِمَا عَمِلۡتُمۡ ؕ وَ
ذٰلِکَ عَلَی اللّٰهِ یَسِیۡرٌ ﴿۷﴾ فَاٰمِنُوۡا بِاللّٰهِ وَ رَسُوۡلِهٖ وَ النُّوۡرِ الَّذِیۡۤ اَنۡزَلۡنَا ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ
خَبِیۡرٌ ﴿۸﴾ یَوۡمَ یَجۡمَعُکُمۡ لِیَوۡمِ الۡجَمۡعِ ذٰلِکَ یَوۡمُ التَّغَابُنِ ؕ وَ مَنۡ یُّؤۡمِنۡ بِاللّٰهِ وَ یَعۡمَلۡ
صَالِحًا یُّکَفِّرۡ عَنۡهُ سَیِّاٰتِهٖ وَ یُدۡخِلۡهُ جَنّٰتٍ تَجۡرِیۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ خٰلِدِیۡنَ فِیۡهَاۤ
اَبَدًا ؕ ذٰلِکَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِیۡمُ ﴿۹﴾ وَ الَّذِیۡنَ کَفَرُوۡا وَ کَذَّبُوۡا بِاٰیٰتِنَاۤ اُولٰٓئِکَ اَصۡحٰبُ النَّارِ
خٰلِدِیۡنَ فِیۡهَا ؕ وَ بِئۡسَ الۡمَصِیۡرُ ﴿۱۰﴾ ع

انڪار ڪرڻ وارن دعويٰ ڪئي آهي ته اُهي هرگز پيهر نه اٿاريا ويندا، چئو ته نه منهنجي رب جو قسم توهان ضرور اٿاريا ويندو، پوءِ توهان کي ٻڌايو ويندو جيڪو توهان ڪندا هئا ۽ اهو الله جي لاءِ آسان آهي. تنهن ڪري الله ۽ سندس رسول تي ايمان آڻيو ۽ ان نور تي جيڪو اسان نازل ڪيو آهي ۽ الله ڄاڻي ٿو جيڪي توهان ڪندا آهيو. جنهن ڏينهن هو توهان سڀني کي هڪ گڏ ٿيڻ واري ڏينهن گڏ ڪندو. اهو ڏينهن هار ۽ جيت جو ڏينهن آهي ۽

جنهن ماڻهو الله تي ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا هوندا، الله ان جون مدايون ميٽيندو ۽ ان کي باغن ۾ داخل ڪندو.
جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون. اهي سدائين ان ۾ رهندا. اهائي وڏي ڪاميابي آهي ۽ جن ماڻهن انڪار
ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڄاتو، اُهي ئي باهه وارا آهن. ان ۾ سدائين رهندا ۽ اها بڇڙي جاءِ آهي. ٧-١٠

ماڻهو دنيا ڪي هار ۽ جيت (تغابن) جي جاءِ سمجهندا آهن. ڪنهن ماڻهو کي هتي ڪاميابي ملي وڃي ته هو خوش ٿيندو آهي ۽ جيڪو ماڻهو هتي ناڪام ٿي وڃي، اهو ماڻهن جي نظر ۾ ذليل ٿي رهجي ويندو آهي. پر حقيقت اها آهي جو هن دنيا جي هار به بي قيمت آهي ۽ هتي جو کٽڻ به بي قيمت.

کٽڻ ۽ هارائڻ جو اصل مقام آخرت آهي. هارائڻ وارو اهو آهي جيڪو آخرت ۾ هارجي وڃي ۽ کٽڻ وارو اهو آهي جيڪو آخرت ۾ کٽي وڃي ۽ اُتي هارائڻ ۽ کٽڻ جو معيار بلڪل مختلف آهي. دنيا ۾ هارائڻ ۽ کٽڻ ظاهري مال ملڪيت جي بنياد تي هوندو آهي. آخرت ۾ هارائڻ ۽ کٽڻ اخلاق جي بنياد تي ٿيندو. ان وقت ڏسڻ وارا اهو ڏسي حيران رهجي ويندا ته هتي سڄو معاملو بلڪل بدلجي ويو آهي، جنهن پائڻ کي ماڻهو پائڻ سمجهي رهيا هئا، اهو اصل ۾ وڃائڻ هو ۽ جنهن وڃائڻ کي ماڻهو وڃائڻ سمجهي رهيا هئا، اها ئي اصل ۾ اها شيءِ هئي جنهن کي پائڻ چيو وڃي ٿو. ان ئي ڏينهن جي هار، هار آهي ۽ ان ئي ڏينهن جو کٽڻ، کٽڻ آهي.

مَآ اَصَابَ مِنۡ مُّصِيۡبَةٍ اِلَّا بِاِذۡنِ اللّٰهِ ؕ وَ مَنۡ يُّؤۡمِنۡۢ بِاللّٰهِ يَهۡدِ قَلۡبَهٗ ؕ وَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيۡءٍ
عَلِيۡمٌ ﴿۱۱﴾ وَ اَطِيۡعُوا اللّٰهَ وَ اَطِيۡعُوا الرَّسُوۡلَ ۚ فَاِنۡ تَوَلَّيۡتُمۡ فَاِنَّمَا عَلٰى رَسُوۡلِنَا الۡبَلٰغُ
الۡمُبِيۡنُ ﴿۱۲﴾ اَللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ وَ عَلَى اللّٰهِ فَلۡيَتَوَكَّلِ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۱۳﴾

جيڪا به مصيبت ايندي آهي الله جي حڪم سان ايندي آهي ۽ جيڪو ماڻهو الله تي ايمان رکي ٿو الله ان جي دل
کي راهه ڏيکاري ٿو ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻڻ وارو آهي ۽ توهان الله جي اطاعت ڪريو ۽ رسول جي اطاعت
ڪريو پوءِ جيڪڏهن توهان منهن موڙيو ته اسان جي رسول تي رڳو صاف صاف پهچائڻ آهي الله ان کان سواءِ
ڪو اِله نه آهي ۽ ايمان وارن کي الله تي ئي ڀروسو ڪرڻ گهرجي. ١١-١٣

ڪا مصيبت خودبخود نه ٿي اچي. هر مصيبت الله طرفان ايندي آهي ۽ ان لاءِ ايندي آهي جو ان جي ذريعي انسان کي هدايت عطا ڪئي وڃي. مصيبت ماڻهو جي دل کي نرم ڪندي آهي ۽ ان جي ستل نفسيات کي لوڏي جڏيندي آهي. مصيبت جا جهٽڪا ماڻهو جي ذهن کي جاڳائڻ جو ڪم ڪندا آهن. جيڪڏهن ماڻهو خود کي منفي ردعمل کان بچائي ته مصيبت ان لاءِ رباني معلم بڻجي ويندي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِنَّ مِنۡ اَزۡوَاجِكُمۡ وَ اَوۡلَادِكُمۡ عَدُوًّا لَّكُمۡ فَاحۡذَرُوۡهُمۡ ۚ وَ اِنۡ
تَعۡفُوۡا وَ تَصۡفَحُوۡا وَ تَغۡفِرُوۡا فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۱۴﴾ اِنَّمَاۤ اَمۡوَالُكُمۡ وَ اَوۡلَادُكُمۡ فِتۡنَةٌ ؕ
وَ اللّٰهُ عِنۡدَهٗۤ اَجۡرٌ عَظِيۡمٌ ﴿۱۵﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ مَا اسۡتَطَعۡتُمۡ وَ اسۡمَعُوۡا وَ اَطِيۡعُوۡا وَ اَنۡفِقُوۡا
خَيۡرًا لِّاَنۡفُسِكُمۡ ؕ وَ مَنۡ يُّوۡقَ شُحَّ نَفۡسِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ﴿۱۶﴾ اِنۡ تُقۡرِضُوا اللّٰهَ

قَرْضًا حَسَنًا يُّضٰعِفْهُ لَكُمْ وَ يَغْفِرْ لَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ شَكُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿١٧﴾ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَ
ع ٢ ١٦ الشَّهَادَةِ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿١٨﴾

اي ايمان وارؤ! توهان جون ڪي زالون ۽ ڪي اولاد توهان جا دشمن آهن. تنهن ڪري توهان انهن کان هوشيار رهو ۽ جيڪڏهن توهان معاف ڪريو ۽ درگذر ڪريو ۽ بخش ڪريو ته الله بخشڻهار مهربان آهي. توهان جو مال ۽ توهان جو اولاد آزمائش آهن ۽ الله وٽ وڏو اجر آهي. تنهن ڪري توهان الله کان ڊڄو جيترو ٿي سگهي ۽ ٻڌو ۽ مڃو ۽ خرچ ڪريو. اهو توهان لاءِ بهتر آهي ۽ جيڪو شخص پنهنجي نفس جي حرص کان محفوظ رهيو ته اهڙا ئي ماڻهو ڪامياب ٿيڻ وارا آهن. جيڪڏهن توهان الله کي سٺو قرض ڏيندو ته هو به توهان کي ڪيترائي ڀيرا وڌائي ورائي ڏيندو ۽ توهان کي بخشيندو ۽ الله قدردان بردبار آهي. ڳجهه ۽ ظاهر کي ڄاڻڻ وارو، غالب حڪمت وارو آهي. ١٤-١٨

انسان جو سيني کان وڌيڪ تعلق پنهنجي اولاد سان هوندو آهي. ماڻهو هر ٻئي معاملي ۾ اصول جون ڳالهيون ڪندو آهي، پر جڏهن پنهنجي اولاد جو معاملو ايندو آهي ته هو بي اصول بڻجي ويندو آهي. ان ڪري حديث ۾ ارشاد ٿيو آهي ته اولاد ڪنهن ماڻهو کي بزدلي ۽ بخل تي مجبور ڪرڻ وارا آهن. (الولد مجبنة مبخلة). اهڙي طرح هڪ ٻئي حديث ۾ ارشاد آهي ته قيامت جي ڏينهن هڪ ماڻهو کي آندو ويندو، پوءِ چيو ويندو ته ان جا ٻار ۽ ٻچا ان جون نيڪيون کائي ويا. (يؤتي برجل يوم القيامة فيقال اکل عيالہ حسناة). انسان پنهنجن ٻچن جي خاطر الله جي راهه ۾ خرچ نه ٿو ڪري، حالانڪ جيڪڏهن هو الله جي راهه ۾ خرچ ڪري ته مختلف شڪلين ۾ الله ان ڏانهن ان کان وڌيڪ موٽائي ڏيندو، جيترو ان الله جي راهه ۾ ڏنو هو.

آياتها ١٢ (٦٥) سُوْرَةُ الطَّلَاقِ مَدَنِيَّةٌ (٩٩) رڪوعاتها ٢

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ اِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَطَلِّقُوْهُنَّ لِعِدَّتِهِنَّ وَ اَحْصُوا الْعِدَّةَ ۚ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ
رَبَّكُمْ ۚ لَا تُخْرِجُوْهُنَّ مِنْۢ بُيُوْتِهِنَّ وَ لَا يَخْرُجْنَ اِلَّاۤ اَنْ يَّاْتِيْنَ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ ؕ وَ
تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ ؕ وَ مَنْ يَّتَعَدَّ حُدُوْدَ اللّٰهِ فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهٗ ؕ لَا تَدْرِيْ لَعَلَّ اللّٰهَ
يُحْدِثُ بَعْدَ ذٰلِكَ اَمْرًا ﴿١﴾ فَاِذَا بَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَاَمْسِكُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ اَوْ فَارِقُوْهُنَّ
بِمَعْرُوْفٍ وَّ اَشْهِدُوْا ذَوَيْ عَدْلٍ مِّنْكُمْ وَ اَقِيْمُوا الشَّهَادَةَ لِلّٰهِ ؕ ذٰلِكُمْ يُوْعَظُ بِهٖ مَنْ
كَانَ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ۬ وَ مَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مَخْرَجًا ﴿٢﴾ وَّ يَرْزُقْهُ مِنْ
حَيْثُ لَا يَحْتَسِبُ ؕ وَ مَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بَالِغُ اَمْرِهٖ ؕ قَدْ جَعَلَ
اللّٰهُ لِكُلِّ شَيْءٍ قَدْرًا ﴿٣﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

اي پيغمبر! جڏهن توهان ماڻهو عورتن کي طلاق ڏيو ته سندن عدت تي طلاق ڏيو ۽ عدت کي ڳڻيندا رهو ۽ الله کان ڊڄو جيڪو توهان جو رب آهي. انهن عورتن کي سندن گهر مان نه ڪڍو ۽ نه اهي پاڻ نڪرن، سواءِ ان جي جو هو پڌري بي حيائي ڪن ۽ اُهي الله جون حدون آهن ۽ جيڪو شخص الله جي حدن کان لنگهندو ته هن پاڻ تي ظلم ڪيو. توهان نٿا ڄاڻو شايد الله ان طلاق کان پوءِ ڪا نئين صورت پيدا ڪري ڇڏي، پوءِ جڏهن اهي پنهنجي مدت کي پهچن تڏهن انهن کي يا ته چڱي طرح سان ڪين رکي وٺو يا چڱي طرح سان ڇڏي ڏيو ۽ پنهنجن مان ٻه معتبر شاهد ڪريو ۽ ٺيڪ ٺيڪ الله لاءِ شاهدي ڏيو. اها ان شخص کي نصيحت ڪئي وڃي ٿي جيڪو الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکندو هجي ۽ جيڪو شخص الله کان ڊڄندو، الله ان لاءِ راهه ڪڍندو ۽ ان کي اتان رزق ڏيندو جتي ان جو گمان به نه هو ۽ جيڪو شخص الله تي ڀروسو ڪندو ته الله ان لاءِ ڪافي آهي. بيشڪ الله پنهنجي ڪم کي پورو ڪري رهندو آهي. الله هر شيءِ جي لاءِ هڪ اندازو مقرر ڪيو آهي. ١-٣

---

اسلام ۾ جدا ڪرڻ لاءِ طلاق جي اجازت ڏني وئي آهي. جيئن ته ان جو هڪ طريقو مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪو خاص وقفن جي وچ ۾ پورو ٿيندو آهي. اهڙي طرح طلاق جي عمل کي ڪجهه حدن جو پابند ڪيو ويو آهي. ان حدن جو مقصد اهو آهي ته ڌرين جي وچ ۾ آخري وقت تائين واپس موٽڻ جو موقعو باقي رهي ۽ طلاق جو واقعو ڪنهن قسم جي خانداني يا سماجي فساد جو ذريعو نه ٿئي. اهائي طلاق اسلامي طلاق آهي، جنهن جي پوري عمل دوران الله جي خوف جي روح موجود رهي.

وَ الّٰٓـِٔيۡ يَئِسۡنَ مِنَ الۡمَحِيۡضِ مِنۡ نِّسَآئِكُمۡ اِنِ ارۡتَبۡتُمۡ فَعِدَّتُهُنَّ ثَلٰثَةُ اَشۡهُرٍ ۙ وَّ الّٰٓـِٔيۡ لَمۡ يَحِضۡنَ ؕ وَ اُولَاتُ الۡاَحۡمَالِ اَجَلُهُنَّ اَنۡ يَّضَعۡنَ حَمۡلَهُنَّ ؕ وَ مَنۡ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجۡعَلۡ لَّهٗ مِنۡ اَمۡرِهٖ يُسۡرًا ۝۴ ذٰلِكَ اَمۡرُ اللّٰهِ اَنۡزَلَهٗۤ اِلَيۡكُمۡ ؕ وَ مَنۡ يَّتَّقِ اللّٰهَ يُكَفِّرۡ عَنۡهُ سَيِّاٰتِهٖ وَ يُعۡظِمۡ لَهٗۤ اَجۡرًا ۝۵

۽ توهان جي عورتن مان جيڪي حيض کان مايوس ٿي چڪيون هجن جيڪڏهن توهان کي شڪ هجي (عدت بابت) ته سندن عدت ٽي مهينا آهي ۽ اهڙي طرح انهن جي به جيڪي حيض واريون نه ٿيون آهن ۽ پيٽ واري عورتن جي عدت اها آهي جو ٻار ڄڻين ۽ جيڪو شخص الله کان ڊڄندو، الله سندس لاءِ سندس ڪم ۾ آساني ڪندو. اهو الله جو حڪم آهي جيڪو هن توهان ڏانهن نازل ڪيو آهي ۽ جيڪو شخص الله کان ڊڄندو ته هو سندس خطائون مٽائيندو ۽ ان کي وڏو اجر ڏيندو. ٤-٥

---

شريعت طلاق ۽ ٻين معاملن ۾ انسان کي ڪجهه ضابطن جو پابند ڪيو آهي. اهي ضابطا بظاهر انسان جي آزاد طبيعت لاءِ رڪاوٽ آهن، پر حقيقت جي لحاظ کان اهي نعمت آهن. انهن ضابطن جو اهو فائدو آهي جو ماڻهو گهڻن نقصانن کان بچي ويندو آهي. وڌيڪ اهو ته هن دنيا جو نظام اهڙي طرح ٺاهيو ويو آهي ته هتي هر نقصان جي تلافي ڪنهن نه ڪنهن طرح سان ڪئي ويندي آهي. جيئن ته اها تلافي صرف ان ماڻهو جي حصي ۾ ايندي آهي، جيڪو فطرت جي دائري کان ٻاهر نه نڪري.

اَسۡكِنُوۡهُنَّ مِنۡ حَيۡثُ سَكَنۡتُمۡ مِّنۡ وُّجۡدِكُمۡ وَ لَا تُضَآرُّوۡهُنَّ لِتُضَيِّقُوۡا عَلَيۡهِنَّ ؕ وَ اِنۡ

كُنَّ اُولَاتِ حَمْلٍ فَاَنْفِقُوْا عَلَيْهِنَّ حَتّٰى يَضَعْنَ حَمْلَهُنَّ ۚ فَاِنْ اَرْضَعْنَ لَكُمْ فَاٰتُوْهُنَّ
اُجُوْرَهُنَّ ۚ وَاْتَمِرُوْا بَيْنَكُمْ بِمَعْرُوْفٍ ۚ وَاِنْ تَعَاسَرْتُمْ فَسَتُرْضِعُ لَهٗۤ اُخْرٰى ﴿٦﴾ لِيُنْفِقْ
ذُوْ سَعَةٍ مِّنْ سَعَتِهٖ ؕ وَمَنْ قُدِرَ عَلَيْهِ رِزْقُهٗ فَلْيُنْفِقْ مِمَّاۤ اٰتٰىهُ اللّٰهُ ؕ لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ
نَفْسًا اِلَّا مَاۤ اٰتٰىهَا ؕ سَيَجْعَلُ اللّٰهُ بَعْدَ عُسْرٍ يُّسْرًا ﴿٧﴾ عٌ ١٧

توهان انهن عورتن کي پنهنجي حيثيت مطابق رهڻ جو گهر ڏيو جتي توهان رهو ٿا ۽ انهن کي تنگ ڪرڻ لاءِ کين ڪا تڪليف نہ پهچايو ۽ جيڪڏهن اُهي پيٽ سان هجن تہ انهن تي خرچ ڪريو. ايستائين جو پنهنجو ٻار ڄڻين، پوءِ جيڪڏهن توهان جي حڪم موجب (ٻار کي) کير پيارين تہ کين سندن اجورو ڏيو ۽ توهان پاڻ ۾ هڪٻئي کي نيڪي سيکاريو ۽ جيڪڏهن توهان پاڻ ۾ ضد ڪريو تہ ڪا ٻي عورت کير پياريندي. گهر جي تہ آسودو ماڻهو پنهنجي آسودگي مطابق خرچ ڪري ۽ جنهن جي روزي تنگ هجي، ان کي گهرجي تہ الله کيس جيترو ڏنو آهي ان مان خرچ ڪري. الله ڪنهن کي تڪليف ۾ نہ ٿو وجهي، پر اوتري جيتري قدر کيس الله ڏنو آهي، سگهوئي الله ڏکيائي کان پوءِ آساني پيدا ڪندو. ٦-٧

اسلام ۾ اهو گهربل آهي تہ ماڻهو معاملي ۾ ٻي ڌر سان فياضي ۽ سخاوت جو طريقو اختيار ڪري. هو صبر سان مزاج جي خلاف ڳالهين کي برداشت ڪري. ناپسنديدگي جي باوجود ٻي جو حق ادا ڪري. جڏهن ماڻهو ايئن ڪري ٿو تہ هو نہ صرف ٻي ڌر لاءِ چڱائي ٿو ڪري، بلڪ خود پنهنجي لاءِ بہ سٺو ڪري ٿو. اهڙي طرح هو پنهنجي اندر حقيقت پسندي جو مزاج پيدا ڪري ٿو ۽ حقيقت پسندي جو مزاج بيشڪ هن دنيا ۾ ڪاميابي جو سڀني کان وڏو ذريعو آهي.

وَكَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَةٍ عَتَتْ عَنْ اَمْرِ رَبِّهَا وَرُسُلِهٖ فَحَاسَبْنٰهَا حِسَابًا شَدِيْدًا ۙ وَّعَذَّبْنٰهَا
عَذَابًا نُّكْرًا ﴿٨﴾ فَذَاقَتْ وَبَالَ اَمْرِهَا وَكَانَ عَاقِبَةُ اَمْرِهَا خُسْرًا ﴿٩﴾ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ عَذَابًا
شَدِيْدًا ۙ فَاتَّقُوا اللّٰهَ يٰۤاُولِي الْاَلْبَابِ ۚۛ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۛؕ قَدْ اَنْزَلَ اللّٰهُ اِلَيْكُمْ ذِكْرًا ﴿١٠﴾ مٌعٌ عند المتقدمين ١٢
رَّسُوْلًا يَّتْلُوْا عَلَيْكُمْ اٰيٰتِ اللّٰهِ مُبَيِّنٰتٍ لِّيُخْرِجَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ مِنَ
الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ وَمَنْ يُّؤْمِنْ بِاللّٰهِ وَيَعْمَلْ صَالِحًا يُّدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا
الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَاۤ اَبَدًا ؕ قَدْ اَحْسَنَ اللّٰهُ لَهٗ رِزْقًا ﴿١١﴾

۽ ڪيتريون ئي وسنديون آهن جن پنهنجي رب جي حڪم جي ۽ سندس پيغمبرن جي نافرماني ڪئي، پوءِ اسان انهن کان ڏاڍو سخت حساب ورتو ۽ سخت عذاب سان کين عذاب ڏنو. پوءِ انهن پنهنجي ڪم جي سزا چکي ۽ سندن انجام خساري وارو ٿيو. انهن لاءِ الله سخت عذاب تيار ڪري رکيو آهي. تنهن ڪري الله کان ڊڄو. اي عقل وارو! جن ايمان آندو آهي، الله توهان ڏانهن هڪ نصيحت نازل ڪئي آهي. هڪ رسول جيڪو توهان کي الله جون پڌريون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو، تہ جيئن انهن ماڻهن کي اونداهين مان روشني ڏانهن ڪيي جن ايمان آندو ۽ انهن نيڪ عمل ڪيا ۽ جنهن ماڻهو الله تي ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا، ان کي هو اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون. اهي ان ۾ سدائين رهندا. الله ان کي تمام سٺي روزي ڏني. ٨-١١

تہ جيئن ايمان وارن کي اونداهي مان ڪڍي روشني ۾ آڻي. هن موقعي تي اها ڳالهہ ازدواجي قانون جي باري ۾ آهي. قديم زماني ۾ سڄي دنيا ۾ وهم پرستي جو غلبو هو. طرح طرح جي وهمي عقيدن مرد ۽ عورت جي تعلق کي غيرفطري بنيادن تي قائم ڪري ڇڏيو هو. قرآن انهيءَ وهم ۽ غلط گمانن کي ختم ڪيو ۽ ٻيهر مرد ۽ عورت جي تعلق کي فطرت جي بنياد تي قائم ڪيو. ان انتظام کان پوءِ بہ ماڻهو اصلاح جي واٽ کي اختيار نہ ڪن تہ سندن لاءِ الله جي دنيا ۾ خساري کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ آهي.

”عقل وارؤ الله کان ڊڄو.“ جو جملو ٻڌائي ٿو تہ تقويٰ جو بنياد عقل آهي. ماڻهو پنهنجي عقل ۽ شعور کي ڪم ۾ آڻي ان مرتبي کي حاصل ڪري سگهي ٿو. جنهن کي شريعت ۾ تقويٰ چيو ويو آهي.

اَللّٰهُ الَّذِیْ خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ وَّ مِنَ الْاَرْضِ مِثْلَهُنَّ ؕ یَتَنَزَّلُ الْاَمْرُ بَیْنَهُنَّ لِتَعْلَمُوْۤا
ع ١٨ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰی كُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرٌ ۙ وَّ اَنَّ اللّٰهَ قَدْ اَحَاطَ بِكُلِّ شَیْءٍ عِلْمًا ۠﴿۱۲﴾

الله ئي آهي جنهن ٺاهيا ست آسمان ۽ اوترين زمينون بہ. انهن جي وچ ۾ سندس حڪم نازل ٿيندو آهي، تہ جيئن توهان ڄاڻي وٺو تہ الله هر شيءِ تي قادر آهي ۽ الله پنهنجي علم سان هر شيءِ کي گهيري رکيو آهي. ١٢

ومن الارض مثلهن مان مراد جيڪڏهن ست زمينون آهن تہ علم لافلاڪ اڃا تائين ان تعداد کي دريافت نہ ڪري سگهيو آهي. انساني معلومات جي مطابق موجوده زمين سڄي ڪائنات ۾ هڪ سيني کان جدا گرهہ آهي. ان ڪري الله کي ئي علم آهي تہ هن آيت جو واقعي مطلب ڇا آهي.

”تہ جيئن توهان ڄاڻي وٺو تہ الله هر شيءِ تي قادر آهي.“ ان مان معلوم ٿيو تہ الله کي انسان کان اصل ۾ جيڪا شيءِ گهربل آهي، اهو ”علم“ آهي. يعني الله جي ذات جو شعور. ڪائنات جو عظيم ڪارخانو انڪري ٺاهيو ويو آهي تہ انسان ان جي ذريعي خالق کي سڃاڻي. هو ان جي ذريعي الله جي لامحدود قدرت جي معرفت حاصل ڪري .

اٰیاتها ١٢ (٦٦) سُوْرَةُ التَّحْرِيْمِ مَدَنِيَّةٌ (١٠٧) رڪوعاتها ٢

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

یٰۤاَیُّهَا النَّبِیُّ لِمَ تُحَرِّمُ مَاۤ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكَ ۚ تَبْتَغِیْ مَرْضَاتَ اَزْوَاجِكَ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِیْمٌ ﴿۱﴾
قَدْ فَرَضَ اللّٰهُ لَكُمْ تَحِلَّةَ اَیْمَانِكُمْ ۚ وَ اللّٰهُ مَوْلٰىكُمْ ۚ وَ هُوَ الْعَلِیْمُ الْحَكِیْمُ ﴿۲﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

اي نبي! تون ڇو ان شيءِ کي حرام ڪرين ٿو جيڪا الله تولاءِ حلال ڪئي آهي، پنهنجن زالن جي رضامندي چاهڻ لاءِ ۽ الله بخشڻ وارو مهربان آهي. الله توهان لاءِ توهان جي قسمن مان آجي ٿيڻ لاءِ (طريقو) مقرر ڪيو آهي ۽ الله توهان جو ڪارساز آهي ۽ هو ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. ١-٢

زالن جي پيدا ڪيل ڪجھ اندروني مسئلن جي ڪري رسول الله ﷺ پنهنجي گهر ۾ اها قسم

ڪٽي ورتي تہ آئون ماڪي نہ کائيندس. پر پيغمبر جو عمل ان جي امت لاءِ مثال بڻجي وڃي ٿو. ان ڪري الله تعاليٰ حڪم ڏنو تہ پاڻ ﷺ شرعي طريقي مطابق ڪفارو ادا ڪري پنهنجي قسم کي ٽوڙي ڇڏين ۽ ماکي نہ کائڻ جي عهد کان پاڻ کي آزاد ڪري وٺن، تہ جيئن ايئن نہ ٿئي جو آئنده پاڻ ﷺ جا امتي هن ڳالهہ کي تقويٰ جو معيار سمجهي ماکي کائڻ کان پرهيز ڪرڻ لڳن.

وَ اِذْ اَسَرَّ النَّبِيُّ اِلٰى بَعْضِ اَزْوَاجِهٖ حَدِيْثًا ۚ فَلَمَّا نَبَّاَتْ بِهٖ وَ اَظْهَرَهُ اللّٰهُ عَلَيْهِ عَرَّفَ
بَعْضَهٗ وَ اَعْرَضَ عَنْۢ بَعْضٍ ۚ فَلَمَّا نَبَّاَهَا بِهٖ قَالَتْ مَنْ اَنْۢبَاَكَ هٰذَا ؕ قَالَ نَبَّاَنِيَ الْعَلِيْمُ
الْخَبِيْرُ ﴿۳﴾ اِنْ تَتُوْبَاۤ اِلَى اللّٰهِ فَقَدْ صَغَتْ قُلُوْبُكُمَا ۚ وَ اِنْ تَظٰهَرَا عَلَيْهِ فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ
مَوْلٰىهُ وَ جِبْرِيْلُ وَ صَالِحُ الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ وَ الْمَلٰٓئِكَةُ بَعْدَ ذٰلِكَ ظَهِيْرٌ ﴿۴﴾ عَسٰى رَبُّهٗۤ اِنْ
طَلَّقَكُنَّ اَنْ يُّبْدِلَهٗۤ اَزْوَاجًا خَيْرًا مِّنْكُنَّ مُسْلِمٰتٍ مُّؤْمِنٰتٍ قٰنِتٰتٍ تٰٓئِبٰتٍ عٰبِدٰتٍ
سٰٓئِحٰتٍ ثَيِّبٰتٍ وَّ اَبْكَارًا ﴿۵﴾

۽ جڏهن نبي پنهنجي ڪنهن زال کي هڪ ڳجهي ڳالهہ چئي، پوءِ جڏهن هن (ڳالهہ) کي ٻڌائي ڇڏيو ۽ الله نبي کي ان کان آگاهہ ڪري ڇڏيو تہ نبي ڪجهہ ڳالهہ ڄاڻائي ۽ ڪجهہ ڳالهہ ٽاري ڇڏي. پوءِ جڏهن نبي (زال) کي ڳجهي ڳالهہ ٻڌائي تہ ان چيو تہ توکي ڪنهن خبر ڏني. نبي چيو تہ مون کي ڄاڻندڙ، خبر رکندڙ خبر ڏني. جيڪڏهن توهان ٻئي (زالون) الله ڏانهن رجوع ڪريو تہ توهان جي دلين لاڙو ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن توهان ٻئي نبي جي مقابلي ۾ ڏاڍ ڪنديون تہ الله سندس پرجهلو آهي ۽ جبريل ۽ صالح مؤمن ۽ ان کان علاوه فرشتا بہ ان جا مددگار آهن. جيڪڏهن نبي توهان سڀني کي طلاق ڏئي ڇڏي تہ ان جو رب توهان جي بدلي ۾ توهان کان بهتر زالون ان کي ڏيندو. مسلمان مؤمنياڻيون، فرمانبردار، توبهہ ڪرڻ واريون، عبادت ڪرڻ واريون، روزو رکڻ واريون بيواهہ ۽ ڪنواريون. ٣-٥

---

متي ڄاڻايل معاملي ۾ رسول الله ﷺ جي ڪن گهروارين پاڻ ﷺ جي گهر ۾ جيڪو مونجهارو پيدا ڪيو هو. ان تي تنبيهہ ڪرڻ لاءِ پاڻ ﷺ جي گهروارين سان چتاءَ جي انداز ۾ ڪلام ڪيو ويو. ان مان زندگي جي معاملن ۾ عورتن جي اهميت معلوم ٿيندي آهي. حقيقت اها آهي تہ عورتون جيڪڏهن صحيح معنيٰ ۾ پنهنجن مڙسن جي رفاقت ڪن تہ اهي انهن جون بهترين رفيق بڻجي وينديون آهن ۽ جيڪڏهن اهي سچون رفيق ثابت نہ ٿين تہ اهي هڪ بامقصد انسان جي سڄي منصوبي کي مٽي ۾ ملائي سگهن ٿيون.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَ اَهْلِيْكُمْ نَارًا وَّ قُوْدُهَا النَّاسُ وَ الْحِجَارَةُ عَلَيْهَا
مَلٰٓئِكَةٌ غِلَاظٌ شِدَادٌ لَّا يَعْصُوْنَ اللّٰهَ مَاۤ اَمَرَهُمْ وَ يَفْعَلُوْنَ مَا يُؤْمَرُوْنَ ﴿۶﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ
كَفَرُوْا لَا تَعْتَذِرُوا الْيَوْمَ ؕ اِنَّمَا تُجْزَوْنَ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۷﴾ ع ۱۹

اي ايمان وارؤ! پاڻ کي ۽ پنهنجي گهروارن کي ان باهہ کان بچايو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر هوندا، جنهن تي سخت (دل) زبردست ملائڪ مقرر آهن. الله کين جيڪو حڪم ڏي ان ۾ اهي ان جي نافرماني نہ ڪندا آهن ۽

اهوئي ڪندا آهن جنهن جو کين حڪم ڪيو آهي. اي انڪار ڪرڻ وارو! اڄ عذر پيش نه ڪريو توهان کي ان
جو ئي بدلو ملي رهيو آهي جيڪي ڪجهه توهان ڪيو هو. ٦-٧

---

موجوده دنيا ۾ اڪثر ايئن ٿيندو آهي جو ماڻهو هڪ شيءِ کي حق سمجهي ٿو. پر پار پچن سان گهٽي محبت ان کي مجبور ڪري ٿي ته هو حق جي طريقي کي ڇڏي ڏي ۽ اهوئي ڪري جيڪو ان جا پار پچا چاهين ٿا. پر اها وڏي ڀل آهي انسان کي ياد رکڻ گهرجي ته اڄ جن پار پچن جي رعايت ڪندي هو ان حد تائين پهچي ٿو وڃي جتي حق جي رعايت ڪرڻ ان کي وسري ٿو وڃي، ته اهي پار پنهنجي ان روش جي نتيجي ۾ سياڻي اهڙن دوزخ جي ڪارندن جي حوالي ڪيا ويندا، جيڪي مشيني انسان (Robot) وانگر بي رحم هوندا ۽ انهن سان ڪنهن قسم جي ڪا رعايت نه ڪندا.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا تُوْبُوْۤا اِلَى اللّٰهِ تَوْبَةً نَّصُوْحًا ؕ عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يُّكَفِّرَ عَنْكُمْ
سَيِّاٰتِكُمْ وَ يُدْخِلَكُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۙ يَوْمَ لَا يُخْزِي اللّٰهُ النَّبِيَّ وَ
الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ ۚ نُوْرُهُمْ يَسْعٰى بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَ بِاَيْمَانِهِمْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَاۤ اَتْمِمْ لَنَا
نُوْرَنَا وَ اغْفِرْ لَنَا ۚ اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٨﴾

اي ايمان وارؤ! الله وٽ سچي توبهه ڪريو اميد آهي ته توهان جو رب توهان جا گناهه معاف ڪري ڇڏي ۽ توهان کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪري جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون. جنهن ڏينهن الله نبي کي ۽ ان سان گڏ ايمان وارن کي رسوا نه ڪندو. سندن نور سندن اڳيان ۽ سندن ساڄي پاسي ڊوڙي رهيو هوندو. اهي چئي رهيا هوندا ته اي اسان جا رب! اسان جي لاءِ اسان جي نور کي پورو ڪر ۽ اسان جي بخشش فرما. بيشڪ تون هر شيءِ تي قادر آهين. ٨

---

موجوده دنيا ۾ انسان کي آزمائشي حالتن ۾ رکيو ويو آهي. ان ڪري انسان کان غلطيون به ٿينديون آهن، ان جي تلافي لاءِ توبهه آهي، يعني الله ڏانهن رجوع ڪرڻ. توبهه جي اصل حقيقت شرمندگي آهي. ماڻهو کي جيڪڏهن واقعي پنهنجي غلطي جو احساس هجي ته هو سخت شرمنده ٿيندو ۽ ان جي شرمندگي ان کي مجبور ڪندي ته هو آئنده اهڙو ڪم نه ڪري، چنانچه حديث ۾ آيو آهي ته شرمندگي ئي توبهه آهي (الندم توبہ) هڪ صحابي چيو آهي ته سچي توبهه اها آهي ته ماڻهو رجوع ڪري ۽ پوءِ ان ڪم کي وري نه ڪري. (يتوب ثم لايعود)

توبهه اها آهي ته جيڪا سچي توبهه (توبت النصوح) هجي رڳو توبهه جا لفظ چئي ڇڏڻ جو نالو توبهه نه آهي. حضرت علي رضي الله عنه هڪ شخص کي ڏٺو ته هو پنهنجي غلطي کان پوءِ زبان سان توبهه توبهه ڪري رهيو هو. حضرت علي فرمايو ته هي ڪوڙن ماڻهن جي توبهه (توبة الكذابين) آهي، سچي توبهه آخرت جي روشني آهي ۽ ڪوڙي توبهه آخرت جي اونداهي.

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَ الْمُنٰفِقِيْنَ وَ اغْلُظْ عَلَيْهِمْ ؕ وَ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ وَ بِئْسَ
الْمَصِيْرُ ﴿٩﴾ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوا امْرَاَتَ نُوْحٍ وَّ امْرَاَتَ لُوْطٍ ؕ كَانَتَا تَحْتَ

عَبۡدَيۡنِ مِنۡ عِبَادِنَا صَالِحَيۡنِ فَخَانَتٰهُمَا فَلَمۡ يُغۡنِيَا عَنۡهُمَا مِنَ اللّٰهِ شَيۡـًٔا وَّ قِيۡلَ
ادۡخُلَا النَّارَ مَعَ الدّٰخِلِيۡنَ ﴿١٠﴾

اي نبي! ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪر ۽ انهن تي سختي ڪر ۽ انهن جو ٺڪاڻو جهنم آهي ۽ اهو بڇڙو ٺڪاڻو آهي. الله ڪافرن لاءِ مثال بيان ڪري ٿو نوح جي زال جو ۽ لوط جي زال جو. ٻئي اسان جي ٻانهن مان ٻن نيڪ ٻانهن جي نڪاح ۾ هيون. پوءِ انهن (زالن) انهن سان خيانت ڪئي، پوءِ اهي ٻئي الله جي مقابلي ۾ انهن (زالن) جي ڪجھ ڪم نه اچي سگهيا ۽ ٻنهي کي چيو ويو ته باهه ۾ داخل ٿي وڃو داخل ٿيڻ وارن سان گڏ. ٩-١٠

”منافقن سان جهاد ڪر“ جو مطلب آهي، منافقن جو سخت احتساب ڪريو. هي هڪ دائمي حڪم آهي. معاشري جي وڏن ۽ ذميدارن کي گهرجي ته اهي معاشري جي ماڻهن تي مستقل نظر رکن ۽ جڏهن به ڪو مسلمان غلط روش اختيار ڪري ته ان کي روڪڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪن جيڪا سندن وس ۾ آهي.

الله وٽ ماڻهو جو صرف پنهنجو عمل ڪم ايندو. ايستائين جو بزرگن سان نسبت يا صالح ماڻهن سان مائٽي به اُتي ڪنهن جي ڪجھ ڪم نه ايندي. حضرت نوح عليه السلام ۽ حضرت لوط عليه السلام الله جا پيغمبر هئا. پر سندن زالون حق جي دشمنن سان به قلبي تعلق جو رشتو قائم ڪيل هيون. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو پيغمبر جي زال هئڻ جي باوجود انهن کي دوزخ جو مستحق قرار ڏنو ويو.

وَ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا لِّلَّذِيۡنَ اٰمَنُوا امۡرَاَتَ فِرۡعَوۡنَ ۘ اِذۡ قَالَتۡ رَبِّ ابۡنِ لِيۡ عِنۡدَكَ بَيۡتًا فِي
الۡجَنَّةِ وَ نَجِّنِيۡ مِنۡ فِرۡعَوۡنَ وَ عَمَلِهٖ وَ نَجِّنِيۡ مِنَ الۡقَوۡمِ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿١١﴾ وَ مَرۡيَمَ ابۡنَتَ
عِمۡرٰنَ الَّتِيۡۤ اَحۡصَنَتۡ فَرۡجَهَا فَنَفَخۡنَا فِيۡهِ مِنۡ رُّوۡحِنَا وَ صَدَّقَتۡ بِكَلِمٰتِ رَبِّهَا وَ كُتُبِهٖ
وَ كَانَتۡ مِنَ الۡقٰنِتِيۡنَ ﴿١٢﴾

۽ الله ايمان وارن لاءِ مثال بيان ڪري ٿو فرعون جي زال جو جڏهن هن چيو اي منهنجا رب! مون لاءِ پاڻ وٽ جنت ۾ هڪ گهر ٺاهه ۽ مون کي فرعون ۽ سندس عمل کان بچاءِ ۽ مون کي ظالم قوم کان نجات ڏي ۽ عمران جي ڌيءَ مريم جنهن پنهنجي لڄ جي حفاظت ڪئي، پوءِ اسان ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو ۽ هن پنهنجي رب جي حڪمن جي ۽ سندس ڪتابن جي تصديق ڪئي ۽ اُها فرمانبردارن مان هئي. ١١-١٢

فرعون هڪ ڪافر ۽ ظالم شخص هو. پر ان جي زال آسيه رضي الله عنها بنت مزاحم ايمان ۽ عمل واري عورت هئي. فرعون جي زال جڏهن پاڻ کي صحيح روش تي قائم رکيو ته مڙس جي غلط روش ان کي ڪجھ نقصان نه پهچائي سگهي. مڙس کي جهنم ۾ داخل ڪيو ويو ۽ زال کي جنت جي باغن ۾ جڳھ ملي.

(احصنت فرجها) اهو دراصل اشارو آهي، ان جو مطلب اهو آهي ته انهن پنهنجي عصمت کي محفوظ رکيو. ننڍپڻ کان جواني تائين هوءَ پوري طرح بي داغ رهي ۽ تنهن ڪري الله ان کي معجزاتي پيغمبر جي پيدائش لاءِ چونڊيو. ڪجھ روايتن مطابق جبرئيل عليه السلام ان ڏانهن ڦوڪيو، جنهن سان حمل ٿي پيو ۽ پوءِ حضرت مسيح عليه السلام پيدا ٿيا.

ايَاتها ٣٠ (٦٧) سُوْرَةُ الْمُلْكِ مَكِّيَّةٌ (٧٧) ركوعاتها ٢

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

تَبٰرَكَ الَّذِيْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ ۫ وَ هُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرُ ۙ﴿١﴾ اِلَّذِيْ خَلَقَ الْمَوْتَ وَ الْحَيٰوةَ
لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ؕ وَ هُوَ الْعَزِيْزُ الْغَفُوْرُ ۙ﴿٢﴾ الَّذِيْ خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ
طِبَاقًا ؕ مَا تَرٰى فِيْ خَلْقِ الرَّحْمٰنِ مِنْ تَفٰوُتٍ ؕ فَارْجِعِ الْبَصَرَ ۙ هَلْ تَرٰى مِنْ فُطُوْرٍ ﴿٣﴾
ثُمَّ ارْجِعِ الْبَصَرَ كَرَّتَيْنِ يَنْقَلِبْ اِلَيْكَ الْبَصَرُ خَاسِئًا وَّ هُوَ حَسِيْرٌ ﴿٤﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

وڏي برڪت وارو آهي اهو جنهن جي هٿ ۾ بادشاهي آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي. جنهن موت ۽ زندگي کي پيدا ڪيو، ته جيئن توهان کي پرکي ته توهان مان ڪير چڱا ڪم ڪري ٿو ۽ اهو غالب بخشڻهار آهي. جنهن ٻڌايا ست آسمان هڪ ٻئي جي مٿان. تون رحمان جي بناوٽ ۾ ڪو نقص نه ڏسندين، پوءِ وري نهار تون ڪٿي ڪو نقص ڏسين ٿو، پوءِ بار بار نگاهه ڦيراءِ ڏس تنهنجي نظر ناڪام ٿي توڏانهن ٿڪجي موٽندي. ١-٤

جڏهن هڪ ماڻهو موجوده دنيا جو مطالعو ڪري ٿو ته هن کي هتي هڪ تضاد نظر اچي ٿو. انسان کان سواءِ جيڪا باقي ڪائنات آهي، اها انتهائي حدتائين منظم ۽ ڪامل آهي. ان ۾ ڪٿي به ڪو نقص نظر نه ٿو اچي. ان جي ابتڙ انساني زندگي ۾ ظلم ۽ فساد نظر اچي ٿو. ان جو سبب انساني مخلوق جي هڪ عليحده نوعيت آهي. انسان هن دنيا ۾ امتحان جي حالت ۾ آهي. امتحان لازمي طور تي عمل جي آزادي گهري ٿو، ان عمل جي آزادي انسان کي اهو موقعو ڏنو آهي جو هو دنيا ۾ ظلم ۽ فساد ڪري سگهي. انساني دنيا ۾ ظلم انساني آزادي جي قيمت آهي، جيڪڏهن اهي حالتون نه هجن ته انهن قيمتي انسانن جي چونڊ ڪئين ڪري سگهجي ٿي، جن ظلم جو موقعو هوندي به ظلم نه ڪيو، جن سرڪشي جي طاقت هوندي به پاڻ کي سرڪشي کان بچايو.

وَ لَقَدْ زَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنْيَا بِمَصَابِيْحَ وَ جَعَلْنٰهَا رُجُوْمًا لِّلشَّيٰطِيْنِ وَ اَعْتَدْنَا لَهُمْ
عَذَابَ السَّعِيْرِ ﴿٥﴾ وَ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ عَذَابُ جَهَنَّمَ ؕ وَ بِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿٦﴾ اِذَآ
اُلْقُوْا فِيْهَا سَمِعُوْا لَهَا شَهِيْقًا وَّ هِيَ تَفُوْرُ ۙ﴿٧﴾ تَكَادُ تَمَيَّزُ مِنَ الْغَيْظِ ؕ كُلَّمَآ اُلْقِيَ فِيْهَا فَوْجٌ
سَاَلَهُمْ خَزَنَتُهَآ اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَذِيْرٌ ﴿٨﴾ قَالُوْا بَلٰى قَدْ جَآءَنَا نَذِيْرٌ ۙ۬ فَكَذَّبْنَا وَ قُلْنَا مَا
نَزَّلَ اللّٰهُ مِنْ شَيْءٍ ۚۖ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ كَبِيْرٍ ﴿٩﴾ وَ قَالُوْا لَوْ كُنَّا نَسْمَعُ اَوْ نَعْقِلُ مَا
كُنَّا فِيْٓ اَصْحٰبِ السَّعِيْرِ ﴿١٠﴾ فَاعْتَرَفُوْا بِذَنْۢبِهِمْ ۚ فَسُحْقًا لِّاَصْحٰبِ السَّعِيْرِ ﴿١١﴾

۽ اسان دنيا جي آسمان کي ڏيئن (تارن) سان سجايو آهي ۽ انهن کي شيطانن کي مارڻ جو ذريعو بڻايو آهي ۽

اسان انهن لاءِ دوزخ جو عذاب تيار ڪري رکيو آهي ۽ جن ماڻهن پنهنجي رب جو انڪار ڪيو انهن لاءِ جهنم جو عذاب آهي ۽ اهو بڇڙو ٺڪاڻو آهي. جڏهن اهي ان ۾ وڌا ويندا ته هو ان جي گجگوڙ (جو آواز) ٻڌندا ۽ اهو پيو اپامندو، ايئن لڳندو جو ڪاوڙ مان ڦاٽي پوندو. جڏهن ان ۾ ڪو ٽولو وڌو ويندو ته ان جا داروغو انهن کان پڇندو ڇا توهان وٽ ڪو ڊيڄارڻ وارو نه آيو. هو چوندا هائو، اسان وٽ ڊيڄارڻ وارو آيو هو. پوءِ اسان ان کي ڪوڙو ڄاتو ۽ اسان چيو الله ڪا شيءِ نازل نه ڪئي آهي. توهان رڳو وڏي گمراهي ۾ پيل آهيو ۽ اهي چوندا ته جيڪڏهن اسين ٻڌون ها يا سمجهون ها ته اسان دوزخ وارن ۾ نه هجون ها. پوءِ هو پنهنجن گناهن جو اقرار ڪندا پوءِ لعنت هجي دوزخ وارن تي. ٥-١١

قرآن ۾ وري وري جهنم جو نقشو پيش ڪيو ويو آهي. هي جهنم جيتوڻيڪ اڄ انسان جي مشاهدي ۾ نه آهي، پر اُها ڪائنات جي معنويت ۾ بلواسطه طورتي نظر ايندي آهي. حقيقت اها آهي ته جيڪڏهن آخرت ۾ برن ماڻهن جي پڪڙ نه ٿيڻ واري هجي ته موجوده ڪائنات هڪ بي معنيٰ ڪائنات ٿي رهجي ويندي.

اِنَّ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ اَجْرٌ كَبِيْرٌ ﴿١٢﴾ وَ اَسِرُّوْا قَوْلَكُمْ اَوِ اجْهَرُوْا بِهٖ ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿١٣﴾ اَلَا يَعْلَمُ مَنْ خَلَقَ ؕ وَ هُوَ اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ ﴿١٤﴾ ع

جيڪي ماڻهو پنهنجي رب کان پرپٺ ڊڄندا آهن، انهن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي ۽ توهان پنهنجي ڳالهه ڳجهي طرح ڪريو يا پڌري ڇو هو سينن جو ڳجهه ڄاڻيندڙ آهي. ڇا اُهو نه ڄاڻندو جنهن پيدا ڪيو آهي ۽ هو نهايت باريڪ بين ۽ خبر رکندڙ آهي. ١٢-١٤

آخرت جي عذاب جو موجوده دنيا ۾ نظر نه اچڻ عين خدائي منصوبي جي مطابق آهي. الله ڪي انهن انسانن جو انتخاب ڪرڻو آهي جيڪي پرپٺ ان جي عظمت کي مڃين، جيڪي پرپٺ ان جا فرمانبردار ٿي رهن ۽ اهڙن ماڻهن جي چونڊ ان کان سواءِ نٿي ٿي سگهي جو ماڻهن کان آخرت جو انجام سندن نظرن کان پري رکيو وڃي، ته جيئن ماڻهو جيڪو ڪجهه ڪري پنهنجي آزاد ارادي تحت ڪري نه وري مجبور ڪندڙ حڪم تحت.

هُوَ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ ذَلُوْلًا فَامْشُوْا فِيْ مَنَاكِبِهَا وَ كُلُوْا مِنْ رِّزْقِهٖ ؕ وَ اِلَيْهِ النُّشُوْرُ ﴿١٥﴾ ءَاَمِنْتُمْ مَّنْ فِي السَّمَآءِ اَنْ يَّخْسِفَ بِكُمُ الْاَرْضَ فَاِذَا هِيَ تَمُوْرُ ﴿١٦﴾ اَمْ اَمِنْتُمْ مَّنْ فِي السَّمَآءِ اَنْ يُّرْسِلَ عَلَيْكُمْ حَاصِبًا ؕ فَسَتَعْلَمُوْنَ كَيْفَ نَذِيْرِ ﴿١٧﴾ وَ لَقَدْ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ﴿١٨﴾

اهوئي آهي جنهن زمين کي توهان جي تابع ڪيو جو توهان ان جي رستن تي هلو ۽ ان جي رزق مان کائو ۽ ان ڏانهن ئي (جيئرو ٿي) اٿڻو آهي. ڇا توهان انهيءَ کان بي ڊپا ٿي ويا جيڪو آسمان ۾ آهي ته هو (هتان) توهان کي زمين ۾ ڳهائي ڇڏي، پوءِ اُها (زمين) ڏڪڻ لڳي. ڇا توهان ان کان جيڪو آسمان ۾ آهي بي ڊپا ٿي ويا جو

هو توهان تي پٿر وسائڻ وارو واءُ موڪلي. پوءِ توهان ڄاڻي وٺو تہ ڪهڙو هو منهنجو ڊيڄارڻ ۽ انهن ڪوڙو پاڻئيو جيڪو ڪانئن اڳ هئا. منهنجي سزا ڪهڙي طرح هئي. ١٥-١٨

زمين جي هر شيءِ نهايت توازن جي حالت ۾ آهي. ان توازن زمين کي انسان لاءِ رهڻ جي قابل بڻائي رکيو آهي. ان توازن ۾ جيڪڏهن معمولي فرق اچي وڃي تہ انسان جي زندگي برباد ٿي وڃي، جيڪا توازن واري دنيا اسان کي مليل آهي، ان تي الله جو شڪر ڪرڻ ۽ توازن جي ٽٽڻ جي صورت ۾ جيڪا تباهي پيدا ٿي سگهي ٿي، ان کان الله جي پناهہ گهرڻ. اهائي اُها شيءِ آهي جيڪا انسان کان الله تعاليٰ کي گهربل آهي.

اَوَ لَمْ يَرَوْا اِلَى الطَّيْرِ فَوْقَهُمْ صٰٓفّٰتٍ وَّ يَقْبِضْنَ ؕ مَا يُمْسِكُهُنَّ اِلَّا الرَّحْمٰنُ ؕ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَيْءٍ بَصِيْرٌ ﴿١٩﴾ اَمَّنْ هٰذَا الَّذِيْ هُوَ جُنْدٌ لَّكُمْ يَنْصُرُكُمْ مِّنْ دُوْنِ الرَّحْمٰنِ ؕ اِنِ الْكٰفِرُوْنَ اِلَّا فِيْ غُرُوْرٍ ﴿٢٠﴾ اَمَّنْ هٰذَا الَّذِيْ يَرْزُقُكُمْ اِنْ اَمْسَكَ رِزْقَهٗ ۚ بَلْ لَّجُّوْا فِيْ عُتُوٍّ وَّ نُفُوْرٍ ﴿٢١﴾

ڇا اُهي پکين کي پنهنجي مٿان نہ ٿا ڏسن پر کنيندڙ ۽ پر بند ڪندي. رحمان کان سواءِ ڪير نہ آهي جو انهن کي جهلي رکندو آهي. بيشڪ هو هر شيءِ کي ڏسي رهيو آهي. اهو ڪير آهي جيڪو توهان جو لشڪر بڻجي رحمان جي مقابلي ۾ توهان جي مدد ڪري سگهي. انڪار ڪرڻ وارا دوکي ۾ پيل آهن. آخر ڪير آهي جيڪو توهان کي روزي ڏي جيڪڏهن الله پنهنجي روزي روڪي وٺي، بلڪ اهي سرڪشي ۽ نفرت ۾ اڙجي پيا آهن. ١٩-٢١

پکين جو فضا ۾ اڏامڻ، رزق جو زمين مان نڪرڻ ۽ اهڙي طرح جا بيا واقعا انتهائي حيرت انگيز آهن. ماڻهو انهن واقعن تي غور ڪري تہ هو خدائي احساس ۾ گم ٿي وڃي، پر انسان ايترو غافل آهي جو هو هڪ اهڙي دنيا ۾ الله سان سرڪشي ڪندو آهي، جتي ان جي چئني پاسي پکڙيل شيون ان کي رڳو الله جي اطاعت جو سبق ڏئي رهيو آهن.

اَفَمَنْ يَّمْشِيْ مُكِبًّا عَلٰى وَجْهِهٖٓ اَهْدٰٓى اَمَّنْ يَّمْشِيْ سَوِيًّا عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٢٢﴾ قُلْ هُوَ الَّذِيْٓ اَنْشَاَكُمْ وَ جَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَ الْاَبْصَارَ وَ الْاَفْـِٕدَةَ ؕ قَلِيْلًا مَّا تَشْكُرُوْنَ ﴿٢٣﴾ قُلْ هُوَ الَّذِيْ ذَرَاَكُمْ فِي الْاَرْضِ وَ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٢٤﴾

ڇا اهو شخص جيڪو پنهنجي منهن ڀر هلندو هجي اهو وڌيڪ سڌي راهہ پائڻ وارو آهي يا اهو شخص جيڪو سڌوسنئون هڪ سڌي رستي تي هلي رهيو آهي. چئو تہ اهوئي آهي جنهن توهان کي پيدا ڪيو ۽ توهان لاءِ ڪن ۽ اکيون ۽ دل بڻايائين. توهان تمام ٿورو شڪر ڪندا آهيو. چئو اهوئي آهي جنهن توهان کي زمين ۾ پکيڙيو ۽ توهان ان ئي ڏانهن گڏ ڪيا ويندؤ. ٢٢-٢٤

انسان کي ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ۽ سوچڻ جون صلاحيتون ڏنيون ويون آهن. هاڻي ڪو نسان اهو آهي جنهن جيڪو ڪجهہ ٻڌو ان ئي تي هلي پيو، جيڪو ڏنائين ان کي رڳو ظاهري لحاظ کان ميجي ورتائين،

جيڪا ڳالهہ هڪ دفعو ذهن ۾ اچي وئي ان ئي تي ڄمي ويو. هي اهو انسان آهي جيڪو جانور وانگر مٿو هيٺ ڪري بس هڪ طريقي تي هلي رهيو آهي.

ٻيو انسان اهو آهي جيڪو ٻڌل ڳالهہ جي تحقيق ڪري، جيڪو نظر ايندڙ شيءِ ڪي وڌيڪ گهرائي سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪري، جيڪو پنهنجي ذاتي خول مان ٻاهر نڪري سچائي ڪي دريافت ڪري. اهو ٻيو انسان اُهو آهي جيڪو سڌوسنئون هڪ سڌي رستي تي هلي رهيو آهي. ٻڌڻ، ڏسڻ ۽ سوچڻ جي صلاحيت ماڻهو ڪي ان لاءِ ڏني وئي آهي جو هو حق ڪي سڃاڻي نہ ورڻي اهو جو هو انڌي ۽ ٻوڙي وانگر حق کان بي خبر رهي.

وَ يَقُوۡلُوۡنَ مَتٰى هٰذَا الۡوَعۡدُ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ﴿۲۵﴾ قُلۡ اِنَّمَا الۡعِلۡمُ عِنۡدَ اللّٰهِ ۪ وَ اِنَّمَاۤ اَنَا
نَذِيۡرٌ مُّبِيۡنٌ﴿۲۶﴾ فَلَمَّا رَاَوۡهُ زُلۡفَةً سِيۡٓـَٔتۡ وُجُوۡهُ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا وَ قِيۡلَ هٰذَا الَّذِيۡ كُنۡتُمۡ
بِهٖ تَدَّعُوۡنَ﴿۲۷﴾ قُلۡ اَرَءَيۡتُمۡ اِنۡ اَهۡلَكَنِيَ اللّٰهُ وَ مَنۡ مَّعِيَ اَوۡ رَحِمَنَا ۙ فَمَنۡ يُّجِيۡرُ الۡكٰفِرِيۡنَ
مِنۡ عَذَابٍ اَلِيۡمٍ﴿۲۸﴾ قُلۡ هُوَ الرَّحۡمٰنُ اٰمَنَّا بِهٖ وَ عَلَيۡهِ تَوَكَّلۡنَا ۚ فَسَتَعۡلَمُوۡنَ مَنۡ هُوَ فِيۡ
ع ٦ ضَلٰلٍ مُّبِيۡنٍ﴿۲۹﴾ قُلۡ اَرَءَيۡتُمۡ اِنۡ اَصۡبَحَ مَآؤُكُمۡ غَوۡرًا فَمَنۡ يَّاۡتِيۡكُمۡ بِمَآءٍ مَّعِيۡنٍ﴿۳۰﴾

۽ اهي چوندا آهن تہ اهو واعدو ڪڏهن پورو ٿيندو جيڪڏهن توهان سچا آهيو. چؤ اهو علم الله وٽ آهي ۽ آئون صرف پڌرو ڊيڄارڻ وارو آهيان. پوءِ جڏهن اهي ان کي ويجهو ٿيندي ڏسندا تہ جن انڪار ڪيو انهن جا منهن بگڙي (ڪاراٽجي) ويندا ۽ چيو ويندو تہ اهائي آهي اُها شيءِ جنهن کي توهان طلبيندا هئا. چؤ تہ جيڪڏهن الله مون کي هلاڪ ڪري ڇڏي ۽ انهن کي جيڪي مون سان گڏ آهن يا اسان تي رحم فرمائي تہ منڪرن کي ڏکوئيندڙ عذاب کان ڪير بچائيندو، چؤ اُهو رحمان آهي. اسان ان تي ايمان آندو ۽ ان ئي تي اسان ڀروسو ڪيو. پوءِ جلدئي توهان ڄاڻي وٺندو تہ پڌري گمراهي ۾ ڪير آهي، چؤ تہ ڏنو اٿو ڇا جيڪڏهن توهان جو پاڻي هيٺ لهي وڃي تہ ڪير آهي جيڪو توهان لاءِ صاف پاڻي آڻي. ٢٥-٣٠

ٻڌڻ وارو جڏهن دليل کي نہ مڃي تہ داعي يقين جي ڳالهہ ڪري سندس اندر کي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اهي آيتون ڄڻ اهڙي ئي قسم جي يقين وارو ڪلما آهن. ماڻهو جي اندر جيڪڏهن ڪجهہ بہ احساس زنده هجي تہ اهو ڪلام ڪيس تڙپائي ڇڏي، پر جنهن ماڻهو جو احساس بلڪل مري ويو هجي، اهو ڪنهن بہ تدبير سان نہ ٿو جاڳي، هو "پاڻي" جي قيمت کي رڳو ان وقت تسليم ڪري ٿو جڏهن ان کي پاڻي کان محروم ڪري رڻ ۾ اڇلائي ڇڏجي.

اٰياتها ٥٢ (٦٨) سُوۡرَةُ الۡقَلَمِ مَكِّيَّةٌ (٢) رڪوعاتها ٢

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

نٓ وَ الۡقَلَمِ وَ مَا يَسۡطُرُوۡنَ ۙ﴿۱﴾ مَاۤ اَنۡتَ بِنِعۡمَةِ رَبِّكَ بِمَجۡنُوۡنٍ ۚ﴿۲﴾ وَ اِنَّ لَكَ لَاَجۡرًا غَيۡرَ

مَمْنُوْنٍ ۚ﴿۳﴾ وَ اِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ ﴿۴﴾ فَسَتُبْصِرُ وَ يُبْصِرُوْنَ ۙ﴿۵﴾ بِاَيِّكُمُ الْمَفْتُوْنُ ﴿۶﴾
اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنْ ضَلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۠ وَ هُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿۷﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

ن- قلم جو قسم آهي ۽ ان جو جيڪي لکندا آهن ته تون پنهنجي رب جي فضل سان ديوانو نه آهين ۽ بيشڪ تنهنجي لاءِ اجر آهي ڪڏهن ختم نه ٿيڻ وارو ۽ بيشڪ تون هڪ اعليٰ اخلاق تي آهين. پوءِ سگهوئي تون ڏسندين ۽ اهي به ڏسندا ته توهان مان ڪنهن کي جنون هو، تنهنجو رب تمام چڱي طرح ڄاڻي ٿو جيڪو سندس واٽ کان گمراهه ٿيو ۽ هو (سڌي) واٽ تي هلڻ وارن کي به چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي. ١-٧

اعليٰ اخلاق مان مراد اهو اخلاق آهي ته جڏهن ماڻهو بين جي روش کان بلند ٿي عمل ڪري، هن جو طريقو اهو نه هجي ته برائي ڪرڻ وارن سان برائي ۽ ڀلائي ڪرڻ وارن سان ڀلائي، بلڪ هو هر ڪنهن سان ڀلائي ڪري. چاهي ٻيا انهيءَ سان برائي چو نه ڪري رهيا هجن. رسول الله ﷺ جو اهوئي ٻئي قسم جو اخلاق هو. اهڙي قسم جو اخلاق ثابت ڪري ٿو ته پاڻ ﷺ هڪ بااصول انسان هئا. پاڻ ﷺ جي شخصيت حالتن جي پيداوار نه هئي، بلڪ خود پنهنجن اعليٰ اصولن جي پيداوار هئي. پاڻ ﷺ جو اهو اعليٰ اخلاق پاڻ ﷺ جي ان دعويٰ جي عين مطابق آهي ته آئون الله جو رسول آهيان.

والقلم وما يسطرون مان مراد تاريخي رڪارڊ آهي. تاريخ جي شڪل ۾ انساني يادداشت جو جيڪو رڪارڊ جمع ٿيو آهي، ان ۾ قرآن هڪ سيني ڪان جدا ڪتاب آهي ۽ صاحب قرآن هڪ سيني ڪان جدا شخصيت. اهوئي سبب آهي جو قرآن کي الله جو ڪتاب مڃيو وڃي ۽ محمد ﷺ کي الله جو رسول.

فَلَا تُطِعِ الْمُكَذِّبِيْنَ ﴿۸﴾ وَدُّوْا لَوْ تُدْهِنُ فَيُدْهِنُوْنَ ﴿۹﴾ وَ لَا تُطِعْ كُلَّ حَلَّافٍ مَّهِيْنٍ ۙ﴿۱۰﴾
هَمَّازٍ مَّشَّآءٍۭ بِنَمِيْمٍ ۙ﴿۱۱﴾ مَّنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ مُعْتَدٍ اَثِيْمٍ ۙ﴿۱۲﴾ عُتُلٍّۭ بَعْدَ ذٰلِكَ زَنِيْمٍ ۙ﴿۱۳﴾ اَنْ كَانَ ذَا
مَالٍ وَّ بَنِيْنَ ؕ﴿۱۴﴾ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا قَالَ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿۱۵﴾ سَنَسِمُهٗ عَلَى
الْخُرْطُوْمِ ﴿۱۶﴾

تنهن ڪري تون ڪوڙو ڀائيندڙن جو چيو نه مڃ اُهي چاهين ٿا ته جيڪڏهن تون نرمي ڪرين ته اهي به نرمي ڪن، ۽ تون اهڙي ماڻهو جو چيو نه مڃ جيڪو گهڻيون قسمون ڪڻڻ وارو، ذليل طعنا ڏيندڙ، چغلي هڻندڙ، چڱائي کان روڪيندڙ، حد کان لنگهندڙ، گنهگار سخت دل ۽ انهن سڀني کا پوءِ بدنسل به هجي، انهيءَ ڪري جو هو مال ۽ اولاد وارو آهي. جڏهن هن کي اسان جون آيتون پڙهي ٻڌايون وينديون آهن ته چوندو آهي اِهي اڳين جون آڪاڻيون آهن سگهوئي اسان سندس سونڊ (نڪ تي) ڏنڀ ڏينداسون. ٨-١٦

”ڪوڙو ڀائيندڙن جو چيو نه مڃ“ جو مطلب اهو آهي ته ڪوڙو ڀائيندڙ ان قابل نه آهن جو سندن چيو مڃيو وڃي. هڪ پاسي حق جو علمبردار آهي جيڪو دليل تي بيٺو آهي، جنهن جي قول ۽ فعل ۾ ڪو تضاد نه آهي، ٻئي پاسي اُن جا مخالف آهن جن وٽ ڪوڙين ڳالهين ۽ پست ڪردار کان سواءِ ٻيو ڪو سرمايو نه آهي. حق جي داعي جو اعتماد صداقت تي آهي ۽ ان جي مخالفن جو اعتماد پنهنجي مادي

حيثيت تي. حق جو داعي اصول جو پابند آهي. ان جي ابتڙ مخالف ڪنهن اصول تي نه آهي. اهي ڪڏهن هڪ ڳالهه ڪندا آهن ۽ ڪڏهن ٻي ڳالهه. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو ۾ عقل هجي ته اهو فرق ٻڌائڻ لاءِ ڪافي آهي ته ڪير حق تي آهي ۽ ڪير ناحق تي.

إِنَّا بَلَوْنٰهُمْ كَمَا بَلَوْنَآ أَصْحٰبَ الْجَنَّةِ ۚ إِذْ أَقْسَمُوْا لَيَصْرِمُنَّهَا مُصْبِحِيْنَ ﴿١٧﴾ وَ لَا
يَسْتَثْنُوْنَ ﴿١٨﴾ فَطَافَ عَلَيْهَا طَآئِفٌ مِّنْ رَّبِّكَ وَ هُمْ نَآئِمُوْنَ ﴿١٩﴾ فَأَصْبَحَتْ كَالصَّرِيْمِ ﴿٢٠﴾
فَتَنَادَوْا مُصْبِحِيْنَ ﴿٢١﴾ أَنِ اغْدُوْا عَلٰى حَرْثِكُمْ إِنْ كُنْتُمْ صٰرِمِيْنَ ﴿٢٢﴾ فَانْطَلَقُوْا وَ هُمْ
يَتَخَافَتُوْنَ ﴿٢٣﴾ أَنْ لَّا يَدْخُلَنَّهَا الْيَوْمَ عَلَيْكُمْ مِّسْكِيْنٌ ﴿٢٤﴾ وَّ غَدَوْا عَلٰى حَرْدٍ قٰدِرِيْنَ ﴿٢٥﴾
فَلَمَّا رَأَوْهَا قَالُوْٓا إِنَّا لَضَآلُّوْنَ ﴿٢٦﴾ بَلْ نَحْنُ مَحْرُوْمُوْنَ ﴿٢٧﴾ قَالَ أَوْسَطُهُمْ أَلَمْ أَقُلْ لَّكُمْ
لَوْ لَا تُسَبِّحُوْنَ ﴿٢٨﴾ قَالُوْا سُبْحٰنَ رَبِّنَآ إِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ﴿٢٩﴾ فَأَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ
يَّتَلَاوَمُوْنَ ﴿٣٠﴾ قَالُوْا يٰوَيْلَنَآ إِنَّا كُنَّا طٰغِيْنَ ﴿٣١﴾ عَسٰى رَبُّنَآ أَنْ يُّبْدِلَنَا خَيْرًا مِّنْهَآ إِنَّآ إِلٰى
رَبِّنَا رٰغِبُوْنَ ﴿٣٢﴾ كَذٰلِكَ الْعَذَابُ ۭ وَ لَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ أَكْبَرُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٣﴾

اسان انهن کي آزمائش ۾ وڌو جهڙي طرح اسان باغ وارن کي آزمائش ۾ وڌو هو. جڏهن انهن قسم کنيو ته اهي صبح جو سوير ان جو ميوو پٽي وٺندا ۽ انهن انشاءَ الله نه چيو. پوءِ ان باغ تي تنهنجي رب طرفان هڪ آفت ڦري ويئي ۽ اهي ستل ئي هئا. پوءِ صبح جو اهو (باغ) اهڙو ٿي پيو جيئن پيلايل پوڪ. پوءِ صبح جو انهن هڪ ٻئي کي سڏيو ته پنهنجي پوڪ تي سويري هلو. جيڪڏهن توهان کي ميوو پٽڻو آهي. پوءِ اهي هليا ۽ پاڻ ۾ هوريان هوريان چوڻ لڳا ته اڄ ڪو محتاج توهان وٽ باغ ۾ نه اچي سگهي ۽ اُهي بخل تي سگهارا ٿي سويري پهتا. پوءِ جنهن مهل باغ کي ڏٺائون ته چوڻ لڳا اسين رستو ڀلجي ويا آهيون. بلڪ اسان محروم ٿي ويا آهيون. انهن ۾ جيڪو بهتر مڙس هو تنهن چيو مون توهان کي نه چيو هو ته توهان الله جي پاڪائي چو نه ٿا بيان ڪريو. انهن چيو اسان جو رب پاڪ آهي، بيشڪ اسان ظالم هئاسون. پوءِ اهي پاڻ ۾ هڪ ٻئي تي الزام ڏيڻ لڳا. انهن چيو اسان تي افسوس آهي، بيشڪ اسان حد کان لنگهندڙ هئاسون. شايد اسان جو رب اسان کي ان کان بهتر باغ ان جي بدلي ۾ ڏئي ڇڏي. اسان انهيءَ ڏانهن رجوع ڪريون ٿا. اهڙي طرح عذاب ايندو آهي ۽ آخرت جو عذاب ان کان به وڏو آهي. ڪاش! اُهي ماڻهو سمجهن ها. ١٧-٣٣

هن دنيا ۾ ماڻهو جيڪو ڪجهه ڪمائي ٿو اهو بظاهر کيتي يا ٻي ڪنهن شيءِ مان ملندي نظر اچي ٿو. پر حقيقت ۾ اهو الله جو ڏنل هوندو آهي. جيڪو ماڻهو ان کي الله جو عطيو سمجهي ۽ ان ۾ ٻين الله جي ٻانهن جو حصو ڪڍي ته ان جي ڪمائي ۾ الله تعاليٰ برڪت عطا فرمائيندو ۽ جيڪو ماڻهو پنهنجي ڪمائي کي پنهنجي لياقت جو نتيجو سمجهي ۽ ٻين جو حق انهن کي ڏيڻ تي راضي نه ٿئي ته سندس ڪمائي ان کي فائدو نه ڏئي سگهندي. اهو الله جو اٽل قانون آهي. ڪڏهن اهو ڪنهن لاءِ دنيا ۾ به ظاهر ٿي ويندو آهي ۽ آخرت ۾ ته اهو هر ڪنهن جي حق ۾ ظاهر ٿي ويندو.

إِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٣٤﴾ اَفَنَجْعَلُ الْمُسْلِمِيْنَ كَالْمُجْرِمِيْنَ ﴿٣٥﴾ مَا
لَكُمْ ۥ كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ ﴿٣٦﴾ اَمْ لَكُمْ كِتٰبٌ فِيْهِ تَدْرُسُوْنَ ﴿٣٧﴾ اِنَّ لَكُمْ فِيْهِ لَمَا تَخَيَّرُوْنَ ﴿٣٨﴾
اَمْ لَكُمْ اَيْمَانٌ عَلَيْنَا بَالِغَةٌ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ اِنَّ لَكُمْ لَمَا تَحْكُمُوْنَ ﴿٣٩﴾ سَلْهُمْ اَيُّهُمْ
بِذٰلِكَ زَعِيْمٌ ﴿٤٠﴾ اَمْ لَهُمْ شُرَكَآءُ فَلْيَأْتُوْا بِشُرَكَآئِهِمْ اِنْ كَانُوْا صٰدِقِيْنَ ﴿٤١﴾
عند المتقدمين ١٢

بيشڪ ڊڄڻ وارن لاءِ سندن رب وٽ نعمت جا باغ آهن ڇا اسان فرمانبردارن کي نافرمانن جي برابر ڪري ڇڏينداسون. توهان کي ڇا ٿيو آهي توهان ڪهڙا فيصلا ڪريو ٿا. ڇا توهان وٽ ڪو ڪتاب آهي جنهن مان پڙهندا آهيو. ان (آخرت) ۾ توهان لاءِ اهو آهي جنهن کي توهان پسند ڪريو ٿا. ڇا توهان لاءِ اسان جي ذمي پڪا انجام ٿيل آهن جيڪي قيامت تائين باقي رهندا. ته توهان جي لاءِ اهوئي آهي جيڪو توهان فيصلو ڪندو. انهن کان پڇ ته انهن ۾ ڪير ان (ڳالهه) جو ضامن آهي. ڇا سندن ڪي شريڪ آهن ته اهي پنهنجن شريڪن کي آڻين، جيڪڏهن اهي سچا آهن. ٣٤-٤١

---

الله کان نه ڊڄڻ وارو ماڻهو صرف سامهون نظر ايندڙ شين کي اهميت ڏي ٿو. ان جي مقابلي ۾ الله کان ڊڄڻ وارو اهو آهي، جيڪو غيب جي حقيقتن جي باري ۾ سنجيده ٿي وڃي. اهي بلڪل جدا جدا ڪردار آهن ۽ پنهي جو انجام يقيني طور تي هڪ جهڙو نه ٿو ٿي سگهي.

يَوْمَ يُكْشَفُ عَنْ سَاقٍ وَّ يُدْعَوْنَ اِلَى السُّجُوْدِ فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ﴿٤٢﴾ خَاشِعَةً اَبْصَارُهُمْ
تَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ۭ وَ قَدْ كَانُوْا يُدْعَوْنَ اِلَى السُّجُوْدِ وَ هُمْ سٰلِمُوْنَ ﴿٤٣﴾ فَذَرْنِيْ وَ مَنْ يُّكَذِّبُ
بِهٰذَا الْحَدِيْثِ ۭ سَنَسْتَدْرِجُهُمْ مِّنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤٤﴾ وَ اُمْلِيْ لَهُمْ ۭ اِنَّ كَيْدِيْ
مَتِيْنٌ ﴿٤٥﴾

جنهن ڏينهن پني (حقيقت) کولي ويندي ۽ ماڻهو سجدي لاءِ سڏيا ويندا ته اهي نه ڪري سگهندا. سندن نگاهون جهڪيل هونديون، انهن تي ذلت ڇانيل هوندي ۽ اهي سجدي لاءِ سڏيا ويندا هئا ۽ چڱا ڀلا هئا پوءِ ڇڏي ڏي مون کي ۽ انهن کي جيڪي هن ڪلام کي ڪوڙو ڀائيندا آهن. اسان انهن کي آهستي آهستي (دوزخ ڏانهن) ڇڪينداسون جتان اهي نه ڄاڻندا ۽ آئون کين مهلت ڏئي رهيو آهيان. بيشڪ منهنجي رٿ پڪي آهي. ٤٢-٤٥

---

قيامت ۾ جڏهن الله نظرن جي سامهون اچي ويندو ته سيئي ايمان وارا ماڻهو پنهنجي رب جي آڏو سجدي ۾ ڪري پوندا، جهڙي طرح اهي اڳيئن زندگي ۾ ان جي آڏو سجدي ۾ ڪرندا هئا، پر الله جي ظهور جي وقت سجدي جي اها توفيق صرف سچن مؤمنن کي حاصل ٿيندي، جيڪي ماڻهو دنيا ۾ ڪوڙو سجدو ڪندا هئا، سندن چيلهه ان وقت آڪڙجي ويندي، جهڙي طرح حقيقت جي لحاظ کان اهي دنيا ۾ تڪبر ڪندا هئا. اهڙا ماڻهو سجدو ڪرڻ چاهيندا. پر اهي سجدو نه ڪري سگهندا. اها مخلص ايمان وارن جي سيني کان وڏي قدرداني هوندي جو خدا خود ظاهر ٿي سندن سجدو قبول ڪري. ان جي مقابلي ۾ ايمان جي ڪوڙي دعويٰ ڪرڻ وارن لاءِ اهو سيني کان وڏيڪ رسوائي جو وقت هوندو جو سندن خالق ۽ مالڪ سندن سامهون آهي ۽ اهي ان جي سامهون پنهنجي ٻانهپ جو اقرار ڪرڻ تي قادر نه آهن.

اَمْ تَسْـَٔلُهُمْ اَجْرًا فَهُمْ مِّنْ مَّغْرَمٍ مُّثْقَلُوْنَ ﴿٤٦﴾ اَمْ عِنْدَهُمُ الْغَيْبُ فَهُمْ يَكْتُبُوْنَ ﴿٤٧﴾
فَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ وَ لَا تَكُنْ كَصَاحِبِ الْحُوْتِ ۘ اِذْ نَادٰى وَ هُوَ مَكْظُوْمٌ ﴿٤٨﴾ لَوْ لَاۤ اَنْ
تَدٰرَكَهٗ نِعْمَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ لَنُبِذَ بِالْعَرَآءِ وَ هُوَ مَذْمُوْمٌ ﴿٤٩﴾ فَاجْتَبٰهُ رَبُّهٗ فَجَعَلَهٗ مِنَ
الصّٰلِحِيْنَ ﴿٥٠﴾ وَ اِنْ يَّكَادُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَيُزْلِقُوْنَكَ بِاَبْصَارِهِمْ لَمَّا سَمِعُوا الذِّكْرَ وَ
يَقُوْلُوْنَ اِنَّهٗ لَمَجْنُوْنٌ ﴿٥١﴾ وَ مَا هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿٥٢﴾ ع ٢ ١٩

چا تون انهن کان اجورو گهرندو آهين جو ان چٽي جي ڪري مٿن بار پئجي ويو آهي يا انهن وٽ (غيب جو علم) آهي جو اهي لکي رهيا آهن، پوءِ پنهنجي رب جي فيصلي تائين صبر ڪر ۽ مڇي واري وانگر نه ٿجانءِ. جڏهن ان سڏيو ۽ اهو ڏک ۾ ڀريل هو. جيڪڏهن سندس رب جي مهرباني شامل نه هجي ها ته هو ملامت ٿيل سُڃ ۾ اڇلايو وڃي ها، پوءِ سندس رب ڪيس نوازيو، پوءِ ان کي صالحن ۾ شامل ڪيو ۽ اهي منڪر ماڻهو جڏهن نصيحت کي ٻڌندا آهن ته توکي تکين اکين سان ايئن ڏسندا آهن جو توکي ٿيڙي ڇڏيندا ۽ چوندا آهن ته هي ديوانو آهي ۽ اهو قرآن جهانن لاءِ نصيحت آهي. ٤٦-٥٢

---

داعي ۽ مدعو جو رشتو بيحد نازڪ رشتو آهي. داعي کي هڪ طرف ٿي پاڻ کي حسن اخلاق جو پابند بڻائڻو پوي ٿو. مدعو اجايون ڳالهيون ڪري يا هو داعي کي حقير سمجهي يا هو داعي تي ڪوڙا الزام لڳائي، هو چاهي ڪجهه به ڪري پر داعي کي هرحال ۾ خود کي ردعمل جي نفسيات کان بچائڻو آهي. داعي جي ڪاميابي جو راز ٻن شين ۾ لڪيل آهي. مدعو جي زيادتين تي صبر ۽ مدعو کان ڪا به مادي لالچ نه رکڻ.

اٰياتها ٥٢ (٦٩) سُوْرَةُ الْحَآقَّةِ مَكِّيَّةٌ (٧٨) رکوعاتها ٢

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْحَآقَّةُ ﴿١﴾ مَا الْحَآقَّةُ ﴿٢﴾ وَ مَاۤ اَدْرٰىكَ مَا الْحَآقَّةُ ﴿٣﴾ كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ وَ عَادٌۢ بِالْقَارِعَةِ ﴿٤﴾ فَاَمَّا
ثَمُوْدُ فَاُهْلِكُوْا بِالطَّاغِيَةِ ﴿٥﴾ وَ اَمَّا عَادٌ فَاُهْلِكُوْا بِرِيْحٍ صَرْصَرٍ عَاتِيَةٍ ﴿٦﴾ سَخَّرَهَا عَلَيْهِمْ
سَبْعَ لَيَالٍ وَّ ثَمٰنِيَةَ اَيَّامٍ ۙ حُسُوْمًا ۙ فَتَرَى الْقَوْمَ فِيْهَا صَرْعٰى ۙ كَاَنَّهُمْ اَعْجَازُ نَخْلٍ
خَاوِيَةٍ ﴿٧﴾ فَهَلْ تَرٰى لَهُمْ مِّنْۢ بَاقِيَةٍ ﴿٨﴾ وَ جَآءَ فِرْعَوْنُ وَ مَنْ قَبْلَهٗ وَ الْمُؤْتَفِكٰتُ
بِالْخَاطِئَةِ ﴿٩﴾ فَعَصَوْا رَسُوْلَ رَبِّهِمْ فَاَخَذَهُمْ اَخْذَةً رَّابِيَةً ﴿١٠﴾ اِنَّا لَمَّا طَغَا الْمَآءُ
حَمَلْنٰكُمْ فِي الْجَارِيَةِ ﴿١١﴾ لِنَجْعَلَهَا لَكُمْ تَذْكِرَةً وَّ تَعِيَهَاۤ اُذُنٌ وَّاعِيَةٌ ﴿١٢﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

اها ٿيڻ واري چا آهي. اها ٿيڻ واري ۽ توکي ڪهڙي خبر ته چا آهي. اها ٿيڻ واري، ثمود ۽ عاد قيامت کي ڪوڙو ڄاتو، پوءِ ثمود هڪ رڙ سان ناس ڪيا ويا ۽ عاد هڪ بيحد سخت واءُ سان ناس ڪيا ويا. ان کي الله لڳو لڳ ست راتيون ۽ اٺ ڏينهن مٿن ڪڙو ڪيو. پوءِ تون ڏسين ها ته اتي هو اهڙي طرح ڪريل هئا ڄڻ اهي ڪجي جا ٿڙ آهن، پوءِ ڇا توکي انهن مان ڪو بچيل نظر اچي ٿو ۽ فرعون ۽ ان کان اڳ وارن ۽ ناس ڪيل وسندين به جرم ڪيو. انهن پنهنجي رب جي رسول جي نافرماني ڪئي ته الله وڏي پڪڙ سان کين پڪڙيو ۽ جڏهن پاڻي حد کان لنگهي ويو ته اسان توهان کي ٻيڙي ۾ سوار ڪيو، ته جيئن اسان ان کي توهان لاءِ يادگار بڻايون ۽ ياد رکڻ وارا ڪَنّ ان کي ياد رکن. ١-١٢

ڪجھ ماڻهو آخرت جو پڌرو انڪار ڪندا آهن. ڪجھ ماڻهو اُهي آهن جيڪي زبان سان آخرت جو انڪار نه ٿا ڪن، پر سندن دل ۾ سڄي اهميت رڳو هن دنيا جي هوندي آهي، تنهن ڪري سندن زندگي ۽ پڌرو انڪار ڪرڻ وارن جي زندگي ۾ ڪو به فرق نه هوندو آهي. اهي ٻئي جماعتون حقيقت جي لحاظ کان هڪ آهن ۽ ٻئي الله وٽ آخرت کي ڪوڙو پائڻ وارا آهن. هڪ جماعت جيڪڏهن زباني طورتي ان کي ڪوڙ پائيندڙ آهي ته ٻي جماعت عملي طور تي.

اهڙا سڀئي ماڻهو الله جي قانون مطابق ناس ٿيڻ وارا آهن. پيغمبرن جي زماني ۾ اها هلاڪت هن ئي دنيا ۾ سامهون اچي وئي ۽ انهن کان بعد ۾ اچڻ وارن ماڻهن لاءِ اها آخرت ۾ سامهون ايندي .

فَاِذَا نُفِخَ فِي الصُّوْرِ نَفْخَةٌ وَّاحِدَةٌ ﴿١٣﴾ وَّ حُمِلَتِ الْاَرْضُ وَ الْجِبَالُ فَدُكَّتَا دَكَّةً وَّاحِدَةً ﴿١٤﴾
فَيَوْمَئِذٍ وَّقَعَتِ الْوَاقِعَةُ ﴿١٥﴾ وَ انْشَقَّتِ السَّمَآءُ فَهِيَ يَوْمَئِذٍ وَّاهِيَةٌ ﴿١٦﴾ وَّ الْمَلَكُ عَلٰٓى
اَرْجَآئِهَا ؕ وَ يَحْمِلُ عَرْشَ رَبِّكَ فَوْقَهُمْ يَوْمَئِذٍ ثَمٰنِيَةٌ ﴿١٧﴾ يَوْمَئِذٍ تُعْرَضُوْنَ لَا تَخْفٰى
مِنْكُمْ خَافِيَةٌ ﴿١٨﴾

پوءِ جڏهن صور ۾ هڪڙي ڦوڪ ڦوڪبي ۽ زمين ۽ جبل کنيا ويندا، پوءِ هڪ ئي ڀيري کين ذرو ذرو ڪيو ويندو، پوءِ ان ڏينهن ٿيڻ واري قيامت ٿي پوندي ۽ آسمان ڦاٽندو، پوءِ اهو ان ڏينهن ڍلو ٿي ويندو ۽ فرشتا آسمان جي ڪنارن تي هوندا ۽ تنهنجي رب جي عرش کي ان ڏينهن اٺ فرشتا پنهنجي مٿان کڻندا. ان ڏينهن توهان کي (الله جي) آڏو ڪيو ويندو توهان جي ڪا ڳالهه لڪيل نه رهندي . ١٣-١٨

موجوده دنيا امتحان جي مصلحت مطابق بڻائي وئي آهي. جڏهن امتحان جي مدت ختم ٿيندي ته هي دنيا ٽوڙي نئين دنيا نون تقاضن مطابق بڻائي ويندي. الله جو جلال اڄ بلاواسطه ظاهر ٿي رهيو آهي، پوءِ ان وقت الله جو جلال براهِ راست ظاهر ٿي ويندو.

فَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِيَمِيْنِهٖ ۙ فَيَقُوْلُ هَآؤُمُ اقْرَءُوْا كِتٰبِيَهْ ﴿١٩﴾ اِنِّيْ ظَنَنْتُ اَنِّيْ مُلٰقٍ
حِسَابِيَهْ ﴿٢٠﴾ فَهُوَ فِيْ عِيْشَةٍ رَّاضِيَةٍ ﴿٢١﴾ فِيْ جَنَّةٍ عَالِيَةٍ ﴿٢٢﴾ قُطُوْفُهَا دَانِيَةٌ ﴿٢٣﴾ كُلُوْا وَ اشْرَبُوْا
هَنِيْٓـئًا بِمَآ اَسْلَفْتُمْ فِي الْاَيَّامِ الْخَالِيَةِ ﴿٢٤﴾ وَ اَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِشِمَالِهٖ ۙ فَيَقُوْلُ

يٰلَيْتَنِيْ لَمْ اُوْتَ كِتٰبِيَهْ ﴿٢٥﴾ وَ لَمْ اَدْرِ مَا حِسَابِيَهْ ﴿٢٦﴾ يٰلَيْتَهَا كَانَتِ الْقَاضِيَةَ ﴿٢٧﴾ مَآ اَغْنٰى
عَنِّيْ مَالِيَهْ ﴿٢٨﴾ هَلَكَ عَنِّيْ سُلْطٰنِيَهْ ﴿٢٩﴾ خُذُوْهُ فَغُلُّوْهُ ﴿٣٠﴾ ثُمَّ الْجَحِيْمَ صَلُّوْهُ ﴿٣١﴾ ثُمَّ فِيْ
سِلْسِلَةٍ ذَرْعُهَا سَبْعُوْنَ ذِرَاعًا فَاسْلُكُوْهُ ﴿٣٢﴾ اِنَّهٗ كَانَ لَا يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ الْعَظِيْمِ ﴿٣٣﴾ وَ لَا
يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ﴿٣٤﴾ فَلَيْسَ لَهُ الْيَوْمَ هٰهُنَا حَمِيْمٌ ﴿٣٥﴾ وَّ لَا طَعَامٌ اِلَّا مِنْ
ع ٣٧ غِسْلِيْنٍ ﴿٣٦﴾ لَّا يَاْكُلُهٗٓ اِلَّا الْخَاطِـُٔوْنَ ﴿٣٧﴾

پوءِ جنهن شخص کي سندس اعمالنامو سندس ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو ته هو چوندو ته وٺو منهنجو اعمالنامو پڙهو آئون گمان رکندو هئس ته مون کي منهنجو حساب پيش اچڻ وارو آهي، پوءِ هو هڪ وڻندڙ عيش ۾ هوندو مٿانهين بهشت ۾، جنهن جا ميوا ويجها هوندا کائو ۽ پيئو مزي سان انهن عملن جي بدلي ۾ جيڪي توهان گذريل ڏينهن ۾ ڪيا هئا ۽ جنهن شخص جو اعمالنامو ان جي کابي هٿ ۾ ڏنو ويندو سو چوندو ڪاش منهنجو اعمالنامو مون کي نه ڏنو وڃي ها ۽ آئون نه ڄاڻان ها ته منهنجو حساب ڇا آهي. ڪاش اهو (دنيا جو) موت نبيريندڙ هجي ها، منهنجو مال منهنجي ڪم نه آيو، منهنجي بادشاهت ختم ٿي وئي. پڪڙيو ان شخص کي پوءِ ڳچي ۾ ڳٽ پئوس، پوءِ جهنم ۾ داخل ڪريو، پوءِ هڪ زنجير ۾ جنهن جي پيمائش ستر هٿ آهي. ان سان ڪيس جڪڙيوس. هي ماڻهو عظمت واري الله تي ايمان نه رکندو هو ۽ هو غريبن کي کارائڻ جي تاڪيد نه ڪندو هو. تنهن ڪري اڄ هتي ان جو ڪو دوست نه آهي ۽ نه ڦٽن جي روڳ کان سواءِ ان جو ٻيو ڪو کاڌو آهي. جنهن کي گنهگارن کان سواءِ ٻيو ڪير نه کائيندو. ١٩-٣٧

**آخرت جي دنيا ۾ ڪاميابي ان ماڻهو لاءِ آهي جيڪو موجوده دنيا ۾ الله کان ڊڄي زندگي گذاري ۽ جيڪو ماڻهو دنيا ۾ بيخوف ٿي رهي ۽ ٻانهن جي مقابلي ۾ سرڪشي ڪري ته اهو آخرت ۾ سخت ترين عذاب ۾ ڦاسي ويندو.**

فَلَآ اُقْسِمُ بِمَا تُبْصِرُوْنَ ﴿٣٨﴾ وَ مَا لَا تُبْصِرُوْنَ ﴿٣٩﴾ اِنَّهٗ لَقَوْلُ رَسُوْلٍ كَرِيْمٍ ﴿٤٠﴾ وَّ مَا هُوَ
بِقَوْلِ شَاعِرٍ ؕ قَلِيْلًا مَّا تُؤْمِنُوْنَ ﴿٤١﴾ وَلَا بِقَوْلِ كَاهِنٍ ؕ قَلِيْلًا مَّا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٢﴾ تَنْزِيْلٌ مِّنْ
رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٣﴾ وَ لَوْ تَقَوَّلَ عَلَيْنَا بَعْضَ الْاَقَاوِيْلِ ﴿٤٤﴾ لَاَخَذْنَا مِنْهُ بِالْيَمِيْنِ ﴿٤٥﴾ ثُمَّ
لَقَطَعْنَا مِنْهُ الْوَتِيْنَ ﴿٤٦﴾ فَمَا مِنْكُمْ مِّنْ اَحَدٍ عَنْهُ حٰجِزِيْنَ ﴿٤٧﴾ وَ اِنَّهٗ لَتَذْكِرَةٌ
لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٤٨﴾ وَ اِنَّا لَنَعْلَمُ اَنَّ مِنْكُمْ مُّكَذِّبِيْنَ ﴿٤٩﴾ وَ اِنَّهٗ لَحَسْرَةٌ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٥٠﴾ وَ اِنَّهٗ
ع ١٥ لَحَقُّ الْيَقِيْنِ ﴿٥١﴾ فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ ﴿٥٢﴾

پوءِ آئون قسم کڻان ٿو انهن شين جو جن کي توهان ڏسو ٿا ۽ جن کي توهان نه ٿا ڏسو. بيشڪ هي هڪ سڳوري رسول جو ڪلام آهي ۽ اُهو ڪنهن شاعر جو ڪلام نه آهي. توهان تمام ٿورو ايمان رکو ٿا ۽ نه هي ڪنهن (ڪاهن) ڳجهه ٻڪندڙ جو ڪلام آهي. توهان تمام گهٽ غور ڪريو ٿا. جهان جي پالڻهار طرفان نازل ٿيل آهي ۽ جيڪڏهن هو (پيغمبر) اسان تي ڪي ڳالهيون ٺاهي چوي ها ته ضرور سڄي هٿ کان ڪيس پڪڙيون ها، وري

سندس دل جي رڳ وڍي ڇڏيون ها. پوءِ توهان مان ڪو ان ڪان اسان کي روڪڻ وارو نه هجي ها ۽ بيشڪ هي (قرآن) نصيحت آهي ڊڄڻ وارن جي لاءِ ۽ اسان ڄاڻون ٿا ته ڪي توهان مان ان کي ڪوڙو ڀانئيندڙ آهن ۽ بيشڪ هي (قرآن) منڪرن لاءِ حسرت (ارمان جو سبب) آهي ۽ بيشڪ هي (قرآن) سچو آهي. تنهن ڪري تون پنهنجي عظيم رب جي نالي جي تسبيح ڪر. ٣٨-٥٢

---

جيڪو ڪجھ توهان ڏسو ٿا ۽ جيڪو ڪجھ توهان نه ٿا ڏسو. اِهو سڀ هن ڪلام جي صداقت تي شاهد آهي. ان جو مطلب اهو آهي ته قرآن نازل ٿيڻ وقت جيڪو علم انسان وٽ هو ۽ جيڪو بعد جي زماني ۾ ان کي ملڻ وارو هو. ٻئي هن ڪلام کي حق ۽ سچ ثابت ڪرڻ وارا آهن. هن ڪلام جي برحق هئڻ جي ترديد نه حال جو علم ڪري رهيو آهي ۽ نه مستقبل جو علم ان جي ترديد ڪري سگھندو. ان جي باوجود جيڪي ماڻهو قرآن کي نه مڃين. اهي پنهنجي لاءِ صرف اهو ثابت ڪري رهيا آهن ته اهي حق ۽ ناحق جي معاملي ۾ سنجيده نه آهن.

 اٰياتها ٤٤ (٧٠) سُوۡرَةُ الۡمَعَارِجِ مَكِّيَّةٌ (٧٩) رکوعاتها ٢

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

سَاَلَ سَآٮِٕلٌۢ بِعَذَابٍ وَّاقِعٍ ۙ﴿۱﴾ لِّلۡكٰفِرِيۡنَ لَيۡسَ لَهٗ دَافِعٌ ۙ﴿۲﴾ مِّنَ اللّٰهِ ذِى الۡمَعَارِجِ ؕ﴿۳﴾
تَعۡرُجُ الۡمَلٰٓٮِٕكَةُ وَ الرُّوۡحُ اِلَيۡهِ فِىۡ يَوۡمٍ كَانَ مِقۡدَارُهٗ خَمۡسِيۡنَ اَلۡفَ سَنَةٍ ۚ﴿۴﴾ فَاصۡبِرۡ
صَبۡرًا جَمِيۡلًا ﴿۵﴾ اِنَّهُمۡ يَرَوۡنَهٗ بَعِيۡدًا ۙ﴿۶﴾ وَّ نَرٰٮهُ قَرِيۡبًا ؕ﴿۷﴾ يَوۡمَ تَكُوۡنُ السَّمَآءُ كَالۡمُهۡلِ ۙ﴿۸﴾
وَ تَكُوۡنُ الۡجِبَالُ كَالۡعِهۡنِ ۙ﴿۹﴾ وَلَا يَسۡـَٔلُ حَمِيۡمٌ حَمِيۡمًا ۚۖ﴿۱۰﴾ يُّبَصَّرُوۡنَهُمۡ ؕ يَوَدُّ الۡمُجۡرِمُ لَوۡ
يَفۡتَدِىۡ مِنۡ عَذَابِ يَوۡمِٮِٕذٍۢ بِبَنِيۡهِ ۙ﴿۱۱﴾ وَ صَاحِبَتِهٖ وَ اَخِيۡهِ ۙ﴿۱۲﴾ وَ فَصِيۡلَتِهِ الَّتِىۡ تُـْٔوِيۡهِ ۙ﴿۱۳﴾ وَ
مَنۡ فِى الۡاَرۡضِ جَمِيۡعًا ۙ ثُمَّ يُنۡجِيۡهِ ۙ﴿۱۴﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

گهرڻ واري عذاب گهريو. جيڪو ضرور واقع ٿيڻ وارو آهي. منڪرن لاءِ ڪو ان کي هٽائڻ وارو نه آهي. الله جي طرفان جيڪو وڏن مرتبن جو مالڪ آهي. ان ڏانهن فرشتا ۽ جبرئيل چڙهندا آهن. هڪ اهڙي ڏينهن ۾ جنهن جو مقدار پنجاهه هزار سال آهي. تنهن ڪري تون صبر ڪر چڱو صبر. اهي انهيءَ کي پري ڏسن ٿا ۽ اسين ان کي ويجهو ٿا ڏسون. جنهن ڏينهن آسمان پگهريل ٽامي وانگر ٿيندو ۽ جبل رڱيل ان وانگر ۽ ڪو دوست ڪنهن دوست کي نه پڇندو. توڙي اهي هڪ ٻئي کي ڏيکاريا ويندا. گنهگار گهرندا ته جيڪر ان ڏينهن جي عذاب کان بچڻ لاءِ پنهنجا پٽ ۽ پنهنجي زال ۽ پنهنجو ڀاءُ ۽ پنهنجو ڪٽنب جيڪو کين پناهه ڏيڻ وارو هو ۽ سڀني زمين وارن کي بدلي ۾ ڏئي پاڻ کي بچائي وٺي. ١-١٤

---

قيامت جي منظر کي موجوده دنيا ۾ حقيقي طور تي کولي بيان نه ٿو ڪري سگھجي. جيئن ته قرآن ۾ وري وري ان کي اشارا ۽ مثال ڏئي ٻڌايو ويو آهي. ته جيئن ماڻهو ان جو ادراڪ ۽ احساس ڪري

سگهي. قيامت جڏهن ايندي تہ اها ايتري هيبتناڪ هوندي جو ماڻهو پنهنجن انهن رشتن ۽ مفادن کي وساري ڇڏيندو جن کي اڄ هو ايترو اهم سمجهي ٿو جو هو انهن لاءِ حق کي نظرانداز ڪري ٿو.

كَلَّا ۭ اِنَّهَا لَظٰى ۝١٥ نَزَّاعَةً لِّلشَّوٰى ۝١٦ تَدْعُوْا مَنْ اَدْبَرَ وَ تَوَلّٰى ۝١٧ وَ جَمَعَ فَاَوْعٰى ۝١٨ اِنَّ
الْاِنْسَانَ خُلِقَ هَلُوْعًا ۝١٩ اِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ جَزُوْعًا ۝٢٠ وَّ اِذَا مَسَّهُ الْخَيْرُ مَنُوْعًا ۝٢١ اِلَّا
الْمُصَلِّيْنَ ۝٢٢ الَّذِيْنَ هُمْ عَلٰى صَلَاتِهِمْ دَآئِمُوْنَ ۝٢٣ وَ الَّذِيْنَ فِيْٓ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ مَّعْلُوْمٌ ۝٢٤
لِّلسَّآئِلِ وَ الْمَحْرُوْمِ ۝٢٥ وَ الَّذِيْنَ يُصَدِّقُوْنَ بِيَوْمِ الدِّيْنِ ۝٢٦ وَ الَّذِيْنَ هُمْ مِّنْ عَذَابِ
رَبِّهِمْ مُّشْفِقُوْنَ ۝٢٧ اِنَّ عَذَابَ رَبِّهِمْ غَيْرُ مَاْمُوْنٍ ۝٢٨ وَ الَّذِيْنَ هُمْ لِفُرُوْجِهِمْ
حٰفِظُوْنَ ۝٢٩ اِلَّا عَلٰٓى اَزْوَاجِهِمْ اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَاِنَّهُمْ غَيْرُ مَلُوْمِيْنَ ۝٣٠ فَمَنِ
ابْتَغٰى وَرَآءَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْعٰدُوْنَ ۝٣١ وَ الَّذِيْنَ هُمْ لِاَمٰنٰتِهِمْ وَ عَهْدِهِمْ
رٰعُوْنَ ۝٣٢ وَ الَّذِيْنَ هُمْ بِشَهٰدٰتِهِمْ قَآئِمُوْنَ ۝٣٣ وَ الَّذِيْنَ هُمْ عَلٰى صَلَاتِهِمْ يُحَافِظُوْنَ ۝٣٤
اُولٰٓئِكَ فِيْ جَنّٰتٍ مُّكْرَمُوْنَ ۝٣٥ ع

هرگز نہ بيشڪ اها ڀڙڪندڙ باھ آهي جيڪا چمڙي کي چڪي لاهيندڙ آهي. اها هر ان شخص کي سڏيندي جنهن پُٺي ورائي ۽ منهن موڙيو (مال) گڏ ڪيو ۽ سانڍي رکيو. بيشڪ انسان بي صبرو پيدا ٿيل آهي. جڏهن بہ ان کي تڪليف پهچندي آهي تہ گهبرائجي ويندو آهي ۽ جڏهن کو سک پهچندو اٿس تہ هو بخل ڪرڻ لڳندو آهي، پر اهي نمازي (نہ) جيڪي پنهنجن نماز جي پابندي ڪندا آهن ۽ جن جي مالن ۾ سوال ڪندڙ ۽ سوال نہ ڪندڙ لاءِ (محروم ٿيل) جو مقرر حق آهي ۽ جيڪي انصاف جي ڏينهن تي يقين رکن ٿا ۽ جيڪي پنهنجي رب جي عذاب کان ڊڄندا آهن. بيشڪ سندن رب جي عذاب کان ڪنهن کي بي خوف نہ ٿيڻ گهرجي ۽ جيڪي پنهنجن اوگهڙن جي حفاظت ڪندا آهن. پنهنجي زالن جي يا پنهنجن ٻانهين کان سواءِ. پوءِ بيشڪ اهي ملامت وارا نہ آهن. پوءِ جيڪو شخص ان کان سواءِ طلبيندو تہ اُهي ماڻهو حد کان لنگهڻ وارا آهن ۽ اهي جيڪي پنهنجن امانتن ۽ عهد کي نڀائيندا آهن ۽ جيڪي پنهنجن شاهدين تي قائم رهندا آهن ۽ جيڪي پنهنجي نماز جي حفاظت ڪندا آهن. اهي ئي ماڻهو جنت ۾ عزت سان هوندا. ١٥-٣٥

---

هنن آيتن ۾ مختصر طور تي ٻنهي قسمن جي انسانن جون صفتون بيان ڪيون ويون آهن. انهن ماڻهن جون بہ جيڪي جنت ۾ داخل ٿيڻ جا مستحق قرارڏنا ويندا ۽ انهن ماڻهن جون بہ جن جا عمل انهن کي قيامت جي ڏينهن جهنم ۾ ڪِرڻ جو سبب بڻجي ويندا.

فَمَالِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا قِبَلَكَ مُهْطِعِيْنَ ۝٣٦ عَنِ الْيَمِيْنِ وَ عَنِ الشِّمَالِ عِزِيْنَ ۝٣٧ اَيَطْمَعُ
كُلُّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ اَنْ يُّدْخَلَ جَنَّةَ نَعِيْمٍ ۝٣٨ كَلَّا ۭ اِنَّا خَلَقْنٰهُمْ مِّمَّا يَعْلَمُوْنَ ۝٣٩

پوءِ منڪرن کي ڇا ٿيو آهي جو هو توڏانهن ڊوڙندا پيا اچن. ساڄي پاسي کان ۽ کاٻي پاسي کان ٽوليون ٽوليون ٿي ڪري. ڇا انهن ۾ هر ماڻهو اِها لالچ رکي ٿو تہ هو نعمت واري باغ ۾ داخل ڪيو ويندو، هرگز نہ. اسان انهن کي پيدا ڪيو آهي ان شيءِ مان جنهن جي کين خبر اٿن. ٣٦-٣٩

---

جيڪي ماڻهو ناحق تي هجن، اهي ان وقت پنهنجي حيثيت کي ختم ٿيندي محسوس ڪندا آهن، جڏهن انهن جي سامهون حق جي پڌري دعوت پيش ڪئي ويجي. هو اهڙي دعوت کي مٽائڻ لاءِ ان تي اڳرائي ڪندا آهن. سندن اها نامعقول روش انهن کي جهنم ڏانهن وٺي ويجي رهي هوندي آهي، پر پنهنجي ڪوڙي خوش فهمي جي تحت اهي سمجهن ٿا تہ هو جنت ڏانهن پنهنجو سفر طي ڪري رهيا آهن.

فَلَآ اُقۡسِمُ بِرَبِّ الۡمَشٰرِقِ وَ الۡمَغٰرِبِ اِنَّا لَقٰدِرُوۡنَ ﴿۴۰﴾ عَلٰۤی اَنۡ نُّبَدِّلَ خَیۡرًا مِّنۡهُمۡ ۙ وَ مَا نَحۡنُ بِمَسۡبُوۡقِیۡنَ ﴿۴۱﴾ فَذَرۡهُمۡ یَخُوۡضُوۡا وَ یَلۡعَبُوۡا حَتّٰی یُلٰقُوۡا یَوۡمَهُمُ الَّذِیۡ یُوۡعَدُوۡنَ ﴿۴۲﴾ یَوۡمَ یَخۡرُجُوۡنَ مِنَ الۡاَجۡدَاثِ سِرَاعًا کَاَنَّهُمۡ اِلٰی نُصُبٍ یُّوۡفِضُوۡنَ ﴿۴۳﴾ خَاشِعَةً اَبۡصَارُهُمۡ تَرۡهَقُهُمۡ ذِلَّةٌ ؕ ذٰلِکَ الۡیَوۡمُ الَّذِیۡ کَانُوۡا یُوۡعَدُوۡنَ ﴿۴۴﴾

بس پوءِ آئون قسم کڻان ٿو اڀرندن ۽ الهندن جي رب جو. اسان ان تي قادر آهيون تہ سندن جاءِ تي انهن کان بهتر آڻيون ۽ اسان عاجز نہ آهيون. پوءِ انهن کي ڇڏي ڏي جو اُهي ڳالهيون ٺاهين ۽ راند ڪن، ايستائين جو اُهي پنهنجو اهو ڏينهن ڏسن جنهن جو کين انجام ڏجي ٿو. جنهن ڏينهن قبرن مان ڊوڙندا نڪرندا ڄڻ تہ اهي ڪنهن جهنڊي (نشان) ڏانهن ڊوڙي رهيا هجن. سندن نگاهون جهڪيل هونديون. انهن تي ذلت ڇانيل هوندي. هي اهو ڏينهن آهي جنهن جو کين واعدو ڏنو ويو هو. ٤٠-٤٤

زمين تي بار بار اوير ۽ اولهہ جو بدلجڻ زمين جي ان انوکي گُڻ جي ڪري ٿيندو آهي جنهن کي محور تي جهڪڻ (Axial Tilt) چيو ويندو آهي ۽ جنهن جي ڪري زمين تي مختلف قسم جون موسمون پيدا ٿينديون آهن. سج جي نسبت جيڪڏهن زمين جو اهو جهڪڻ نہ هجي ها تہ زمين انسان لاءِ تمام گهٽ فائدي مند هجي ها. ان جهڪڻ زمين کي انسان لاءِ تمام گهڻو فائدي وارو بڻائي ڇڏيو آهي.

جنهن دنيا ۾ هڪ سادي شيءِ کي تمام چڱو ٺاهڻ جي اهڙي مثال موجود هجي. ان دنيا ۾ اهڙي نوعيت جي ٻين واقعن جو ظهور ۾ اچڻ بہ ناممڪن نہ آهي. انهن پڌرين نشانين جي باوجود جيڪي ماڻهو نصيحت نہ وٺن اهي بيشڪ غيرسنجيده ماڻهو آهن ۽ غيرسنجيده ماڻهو صرف ان وقت نصيحت قبول ڪندا آهن جڏهن انهن کي ان لاءِ مجبور ڪري ڇڏجي.

ايَاتها ٢٨ (٧١) سُوۡرَةُ نُوۡحٍ مَکِّیَّةٌ (٧١) رڪوعاتها ٢

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اِنَّاۤ اَرۡسَلۡنَا نُوۡحًا اِلٰی قَوۡمِهٖۤ اَنۡ اَنۡذِرۡ قَوۡمَکَ مِنۡ قَبۡلِ اَنۡ یَّاۡتِیَهُمۡ عَذَابٌ اَلِیۡمٌ ﴿۱﴾ قَالَ یٰقَوۡمِ اِنِّیۡ لَکُمۡ نَذِیۡرٌ مُّبِیۡنٌ ﴿۲﴾ اَنِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ وَ اتَّقُوۡهُ وَ اَطِیۡعُوۡنِ ﴿۳﴾ یَغۡفِرۡ لَکُمۡ مِّنۡ ذُنُوۡبِکُمۡ وَ یُؤَخِّرۡکُمۡ اِلٰۤی اَجَلٍ مُّسَمًّی ؕ اِنَّ اَجَلَ اللّٰهِ اِذَا جَآءَ لَا یُؤَخَّرُ ۘ لَوۡ کُنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۴﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

اسان نوح کي سندس قوم ڏانهن رسول بڻائي موڪليو ته پنهنجي قوم جي ماڻهن کي خبردار ڪر، ان کان اڳ جو انهن تي هڪ ڏکوئيندڙ عذاب اچي. ان چيو اي منهنجي قوم! آئون توهان لاءِ هڪ پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان ته توهان الله جي عبادت ڪريو ۽ ان کان ڊڄو ۽ منهنجي اطاعت ڪريو. الله توهان جي گناهن کي بخشيندو ۽ توهان کي هڪ مقرر وقت تائين مهلت ڏيندو. بيشڪ جڏهن الله جو مقرر ڪيل وقت اچي ٿو ته پوءِ اهو ٽرندو نه آهي. ڪاش! توهان ان کي سمجهو. ١-٤

---

حضرت نوح عليه السلام گهٽو ڪري حضرت آدم عليه السلام کان پوءِ سڀني کان پهريان پيغمبر آهن. ان وقت جي بگڙيل انسانن کي حضرت نوح عليه السلام جيڪو پيغام ڏنو. ان کي هتي ٽن لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي، عبادت،تقويٰ ۽ رسول جي اطاعت. يعني غيرالله جي پرستش ڇڏي هڪ الله جي پرستش ڪرڻ. دنيا ۾ الله کان ڊڄي زندگي گذارڻ ۽ هر معاملي ۾ الله جي رسول کي پاڻ لاءِ تقليد جو نمونو سمجهڻ. اها ئي هر زماني ۾ سڀني پيغمبرن جي اصل دعوت رهي آهي ۽ اها ئي خود قرآن جي اصل دعوت آهي.

قَالَ رَبِّ اِنِّيْ دَعَوْتُ قَوْمِيْ لَيْلًا وَّ نَهَارًا (٥) فَلَمْ يَزِدْهُمْ دُعَآءِيْٓ اِلَّا فِرَارًا (٦) وَ اِنِّيْ كُلَّمَا
دَعَوْتُهُمْ لِتَغْفِرَ لَهُمْ جَعَلُوْٓا اَصَابِعَهُمْ فِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَ اسْتَغْشَوْا ثِيَابَهُمْ وَ اَصَرُّوْا وَ
اسْتَكْبَرُوا اسْتِكْبَارًا (٧) ثُمَّ اِنِّيْ دَعَوْتُهُمْ جِهَارًا (٨) ثُمَّ اِنِّيْٓ اَعْلَنْتُ لَهُمْ وَ اَسْرَرْتُ لَهُمْ
اِسْرَارًا (٩) فَقُلْتُ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ غَفَّارًا (١٠) يُّرْسِلِ السَّمَآءَ عَلَيْكُمْ
مِّدْرَارًا (١١) وَّ يُمْدِدْكُمْ بِاَمْوَالٍ وَّ بَنِيْنَ وَ يَجْعَلْ لَّكُمْ جَنّٰتٍ وَّ يَجْعَلْ لَّكُمْ اَنْهٰرًا (١٢) مَا
لَكُمْ لَا تَرْجُوْنَ لِلّٰهِ وَقَارًا (١٣) وَ قَدْ خَلَقَكُمْ اَطْوَارًا (١٤) اَلَمْ تَرَوْا كَيْفَ خَلَقَ اللّٰهُ سَبْعَ
سَمٰوٰتٍ طِبَاقًا (١٥) وَّ جَعَلَ الْقَمَرَ فِيْهِنَّ نُوْرًا وَّ جَعَلَ الشَّمْسَ سِرَاجًا (١٦) وَ اللّٰهُ اَنْۢبَتَكُمْ
مِّنَ الْاَرْضِ نَبَاتًا (١٧) ثُمَّ يُعِيْدُكُمْ فِيْهَا وَ يُخْرِجُكُمْ اِخْرَاجًا (١٨) وَ اللّٰهُ جَعَلَ لَكُمُ
ع ١/٢٠ ٩ الْاَرْضَ بِسَاطًا (١٩) لِّتَسْلُكُوْا مِنْهَا سُبُلًا فِجَاجًا (٢٠)

نوح چيو اي منهنجا رب! مون پنهنجي قوم کي رات ۽ ڏينهن سڏيو، پر منهنجي سڏڻ ڪين حق کان پري ڀڄڻ ۾ اضافو ڪيو ۽ مون جڏهن به ڪين سڏيو ته تون انهن کي بخشين ته انهن پنهنجن ڪنن ۾ آڱريون وڌيون ۽ پنهنجي مٿان ڪپڙا ويڙهي ڇڏيا ۽ ضد تي قائم رهيا ۽ وڏو تڪبر ڪيائون، وري مون انهن کي ڏاڍيان سڏيو، پوءِ مون انهن کي ظاهر ظهور چيو ۽ ڪين ڳجهي طرح به چيو. مون چيو پنهنجي رب کان بخشش گهرو، بيشڪ اهو بخشڻهار آهي. هو توهان تي خوب مينهن وسائيندو ۽ توهان جي مال ۽ اولاد کي وڌائيندو، توهان لاءِ باغ پيدا ڪندو ۽ توهان لاءِ نهرون جاري ڪندو. توهان کي ڇا ٿيو آهي جو توهان الله جي وڏائي تي ويساهه نه ٿا رکو، حالانڪ ان توهان کي قسمن قسمن ۾ بڻايو. ڇا توهان نه ڏٺو آهي ته الله ڪهڙي طرح ست آسمان طبقا طبقا بڻايا ۽ ان ۾ چنڊ کي نور ۽ سج کي (چمڪندڙ) ڏيئو بڻايو ۽ الله توهان کي زمين مان خاص اهتمام سان پيدا ڪيو، پوءِ هو توهان کي زمين ۾ موٽائيندو ۽ وري ان مان توهان کي ٻاهر ڪڍندو ۽ الله توهان لاءِ زمين کي وڇاڻو بڻايو، ته جيئن توهان ان جي ڪشادن رستن ۾ هلو. ٥-٢٠

---

حضرت نوحؑ جي ان تقرير مان واضح ٿيندو آهي ته سندس دعوت جو انداز به بلڪل اهو ئي هو جيڪو قرآن ماڻهن کي دعوت ڏيڻ لاءِ اختيار ڪيو آهي. حضرت نوحؑ ڪائنات جي نشانين کي دليل طور استعمال ڪندي پنهنجي دعوت پيش ڪئي، هن اجتماعي خطاب به ڪيو ۽ انفرادي گفتگو به ڪئي. ماڻهن کي اصلاح تي آڻڻ لاءِ هن پنهنجي پوري ڪوشش ڪئي، پر قوم پاڻؑ جي ڳالهه مڃڻ تي راضي نه ٿي.

مالڪم لاترجون الله وقارا جي تفسير حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه هن لفظن ۾ ڪئي آهي لاتعظمون الله حق عظمته (توهان الله جي عظمت اهڙي طرح نه ٿا مڃو. جهڙي طرح ان جي عظمت کي مڃڻ گهرجي). ان مان معلوم ٿيو ته حضرت نوحؑ جي قوم الله جو اقرار ڪندي هئي، پر ان تي الله جي عظمت جو احساس اهڙي طرح ڇانيل نه هو، جهڙي طرح ڪنهن انسان تي ڇانيل هئڻ گهرجي. حقيقت اها آهي ته اهو ئي خدا پرستي جو اصل معيار آهي. جيڪو ماڻهو الله جي عظمت ۾ جيئندو هجي ته اهو خدا پرست آهي ۽ جنهن جو دل الله جي عظمت جي احساس ۾ ٻڏل نه هجي ته اهو خدا پرست نه آهي.

قَالَ نُوۡحٌ رَّبِّ اِنَّهُمۡ عَصَوۡنِیۡ وَ اتَّبَعُوۡا مَنۡ لَّمۡ یَزِدۡهُ مَالُهٗ وَ وَلَدُهٗۤ اِلَّا خَسَارًا ﴿۲۱﴾ وَ مَکَرُوۡا مَکۡرًا کُبَّارًا ﴿۲۲﴾ وَ قَالُوۡا لَا تَذَرُنَّ اٰلِهَتَکُمۡ وَ لَا تَذَرُنَّ وَدًّا وَّ لَا سُوَاعًا ۬ۙ وَّ لَا یَغُوۡثَ وَ یَعُوۡقَ وَ نَسۡرًا ﴿۲۳﴾ وَ قَدۡ اَضَلُّوۡا کَثِیۡرًا ۬ۚ وَ لَا تَزِدِ الظّٰلِمِیۡنَ اِلَّا ضَلٰلًا ﴿۲۴﴾ مِمَّا خَطِیۡٓـٰٔتِهِمۡ اُغۡرِقُوۡا فَاُدۡخِلُوۡا نَارًا ۬ۙ فَلَمۡ یَجِدُوۡا لَهُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ اَنۡصَارًا ﴿۲۵﴾

نوح چيو اي منهنجا رب! انهن منهنجو چيو نه مڃيو ۽ اهڙن ماڻهن جي پيروي ڪئي جن جي حق ۾ سندن مال ۽ اولاد انهن لاءِ نقصان ئي ۾ اضافو ڪيو ۽ انهن وڏيون تدبيرون ڪيون ۽ انهن چيو توهان پنهنجن معبودن کي هرگز نه ڇڏجو ۽ توهان هرگز نه ڇڏيو ود کي، سواع کي ۽ يغوث کي ۽ يعوق کي ۽ نسر کي ۽ انهن گهڻن ماڻهن کي گمراهه ڪيو ۽ هاڻي تون انهن گمراهن جي گمراهي ۾ اضافو ڪر ۽ گناهه جي سبب اهي غرق ڪيا ويا، پوءِ اهي باهه ۾ داخل ڪيا ويا، پوءِ انهن پاڻ لاءِ الله کان سواءِ بچائڻ وارو ڪو مددگار نه لڌو. ٢١-٢٥

حضرت نوحؑ جي دعوت جو ماڻهن ڇو انڪار ڪيو؟ ان جو سبب اهو هو جو ماڻهن کي حضرت نوحؑ جي مقابلي ۾ انهن ماڻهن جون ڳالهيون وڌيڪ صحيح ۽ اهم نظر اينديون هيون، جيڪي دنياوي لحاظ کان وڏائي جو درجو حاصل ڪيل هئا. وقت جي وڏن پنهنجي وڏائي جي تڪبر ۾ حق جي دعوت جو انڪار ڪيو ۽ جيڪا عوام هئي انهن ان ڪري انڪار ڪيو ته انهن جا وڏا منڪر بڻيل هئا.

حضرت نوحؑ جي مخالفن حضرت نوحؑ جي خلاف وڏيون وڏيون تدبيرون ڪيون. انهن ۾ هڪ خاص تدبير اها هئي ته انهن چيو نوح اسان جي بزرگن (ود ۽ سواع ۽ يغوث ۽ يعوق ۽ نسر) جي خلاف آهي. اهي پنهنجي دور جا صالح ماڻهو هئا. بعد جي دور ۾ اهي آهستي آهستي ماڻهن جي نظرن ۾ مقدس بڻجي ويا، ايستائين جو ماڻهن انهن جي پوڄا شروع ڪري ڇڏي. انهن جي نالي تي ماڻهن کي حضرت نوح جي خلاف ڀڙڪائڻ آسان هو. تنهن ڪري انهن اهو چئي پاڻؑ کي ماڻهن جي نظر ۾ شڪ شبهي وارو ڪري ڇڏيو ته حضرت نوحؑ ته اهو آهي جيڪو بزرگن جي رستي کي ڇڏي نون رستن تي هلي رهيو آهي.

وَ قَالَ نُوۡحٌ رَّبِّ لَا تَذَرۡ عَلَی الۡاَرۡضِ مِنَ الۡكٰفِرِيۡنَ دَيَّارًا ﴿٢٦﴾ اِنَّكَ اِنۡ تَذَرۡهُمۡ يُضِلُّوۡا
عِبَادَكَ وَ لَا يَلِدُوۡۤا اِلَّا فَاجِرًا كَفَّارًا ﴿٢٧﴾ رَبِّ اغۡفِرۡ لِيۡ وَ لِوَالِدَيَّ وَ لِمَنۡ دَخَلَ بَيۡتِيَ
مُؤۡمِنًا وَّ لِلۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَ الۡمُؤۡمِنٰتِ ؕ وَ لَا تَزِدِ الظّٰلِمِيۡنَ اِلَّا تَبَارًا ﴿٢٨﴾ ع

۽ نوح چيو ته اي منهنجا رب! تون انهن ڪافرن مان ڪو زمين تي رهندڙ نه ڇڏ. جيڪڏهن تو انهن کي ڇڏيو ته اهي تنهنجي ٻانهن کي گمراهه ڪندا ۽ سندن نسل مان جيڪو به پيدا ٿيندو بدڪار ۽ سخت ڪافر هوندو. اي منهنجا رب! منهنجي بخشش فرماءِ. منهنجي ماءُ پيءُ جي بخشش فرما ۽ جيڪو منهنجي گهر ۾ مؤمن ٿي داخل ٿئي ته ان جي بخشش فرما ۽ سڀني مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن کي معاف فرما ۽ ظالمن لاءِ هلاڪت کان سواءِ ڪنهن شيءِ ۾ واڌارو نه ڪر. ٢٦-٢٨

---

حضرت نوح عليه السلام جي دعا مان معلوم ٿيندو آهي ته سندس زماني ۾ بگاڙ پنهنجي آخري حدتائين پهچي چڪو هو. سڄي معاشري ۾ گمراهه ڪندڙ عقيدا ۽ خيال اهڙي طرح ڇانئجي ويا هئا ته جيڪو ٻار ان معاشري ۾ پيدا ٿئي ها ته اهو گمراهي جي خيالن ۽ عقيدن کي اپنائي ها. جڏهن معاشرو ان درجي تي پهچي وڃي ته ان کان پوءِ ان جو ان کان سواءِ ٻيو مقدر نه هوندو آهي جو نوح جي طوفان ذريعي ان کي ختم ڪيو وڃي.

اياتها ٢٨ | (٧٢) سُوۡرَةُ الۡجِنِّ مَكِّيَّةٌ (٤٠) | ركوعاتها ٢

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

قُلۡ اُوۡحِيَ اِلَيَّ اَنَّهُ اسۡتَمَعَ نَفَرٌ مِّنَ الۡجِنِّ فَقَالُوۡۤا اِنَّا سَمِعۡنَا قُرۡاٰنًا عَجَبًا ﴿١﴾ يَّهۡدِيۡۤ اِلَی
الرُّشۡدِ فَاٰمَنَّا بِهٖ ؕ وَ لَنۡ نُّشۡرِكَ بِرَبِّنَاۤ اَحَدًا ﴿٢﴾ وَّ اَنَّهٗ تَعٰلٰی جَدُّ رَبِّنَا مَا اتَّخَذَ صَاحِبَةً وَّ
لَا وَلَدًا ﴿٣﴾ وَّ اَنَّهٗ كَانَ يَقُوۡلُ سَفِيۡهُنَا عَلَی اللّٰهِ شَطَطًا ﴿٤﴾ وَّ اَنَّا ظَنَنَّاۤ اَنۡ لَّنۡ تَقُوۡلَ الۡاِنۡسُ
وَ الۡجِنُّ عَلَی اللّٰهِ كَذِبًا ﴿٥﴾ وَّ اَنَّهٗ كَانَ رِجَالٌ مِّنَ الۡاِنۡسِ يَعُوۡذُوۡنَ بِرِجَالٍ مِّنَ الۡجِنِّ
فَزَادُوۡهُمۡ رَهَقًا ﴿٦﴾ وَّ اَنَّهُمۡ ظَنُّوۡا كَمَا ظَنَنۡتُمۡ اَنۡ لَّنۡ يَّبۡعَثَ اللّٰهُ اَحَدًا ﴿٧﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

چئو مون ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي ته جنن مان هڪ جماعت قرآن ٻڌو ته انهن چيو اسان هڪ عجيب قرآن ٻڌو آهي، جيڪو هدايت جي راهه جو ڏس ڏي ٿو ته اسان ان تي ايمان آندو ۽ اسان پنهنجي رب سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪنداسون ۽ اهو ته اسان جي رب جو شان تمام وڏو آهي، هن نڪي ڪا زال ۽ نڪو ڪو اولاد رکيو اٿس ۽ اهو ته اسان جا نادان الله جي باري ۾ گهٽيون حق جي خلاف ڳالهيون ڪندا آهن ۽ اسان گمان ڪيو هو ته انسان ۽ جن الله جي شان ۾ ڪڏهن ڪوڙ نه چوندا ۽ هي ته انسانن ۾ ڪجهه اهڙا هئا جيڪي جنن مان بعض جي پناهه وٺندا هئا، پوءِ انهن جنن جو غرور اجا وڌائي ڇڏيو ۽ هي ته ماڻهن به گمان ڪيو جهڙو توهان گمان ڪيو هو ته الله هرگز ڪنهن کي (پيغمبر) ڪري نه موڪليندو. ١-٧

---

هتي انسان کان سواءِ هڪ ٻي مخلوق آباد آهي، جنهن کي جن چوندا آهن. هڪ انسان انهن کي ڏسي نه ٿو سگهي. قرآن ۾ هڪ کان وڌيڪ جاءِ تي انهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. سورة جن جي هنن آيتن مان معلوم ٿيندو آهي ته جنن ۾ به گمراهه ۽ هدايت وارا پنهي قسمن جا جن هوندا آهن. انسانن ۾ نادان ليڊر عوام کي گمراهه ڪندا آهن، اهڙي طرح جنن ۾ به نادان اڳواڻ هوندا آهن ۽ اهي فريب جون ڳالهيون ڪري انهن کي سڌي رستي کان گمراهه ڪندا رهندا آهن.

وَّ اَنَّا لَمَسْنَا السَّمَآءَ فَوَجَدْنٰهَا مُلِئَتْ حَرَسًا شَدِيْدًا وَّ شُهُبًاۙ ٨ وَّ اَنَّا كُنَّا نَقْعُدُ مِنْهَا
مَقَاعِدَ لِلسَّمْعِ ؕ فَمَنْ يَّسْتَمِعِ الْاٰنَ يَجِدْ لَهٗ شِهَابًا رَّصَدًاۙ ٩ وَّ اَنَّا لَا نَدْرِيْۤ اَشَرٌّ اُرِيْدَ
بِمَنْ فِي الْاَرْضِ اَمْ اَرَادَ بِهِمْ رَبُّهُمْ رَشَدًاۙ ١٠ وَّ اَنَّا مِنَّا الصّٰلِحُوْنَ وَ مِنَّا دُوْنَ ذٰلِكَ ؕ
كُنَّا طَرَآىِٕقَ قِدَدًاۙ ١١ وَّ اَنَّا ظَنَنَّاۤ اَنْ لَّنْ نُّعْجِزَ اللّٰهَ فِي الْاَرْضِ وَ لَنْ نُّعْجِزَهٗ هَرَبًاۙ ١٢ وَّ اَنَّا
لَمَّا سَمِعْنَا الْهُدٰۤى اٰمَنَّا بِهٖ ؕ فَمَنْ يُّؤْمِنْۢ بِرَبِّهٖ فَلَا يَخَافُ بَخْسًا وَّ لَا رَهَقًاۙ ١٣ وَّ اَنَّا مِنَّا
الْمُسْلِمُوْنَ وَ مِنَّا الْقٰسِطُوْنَ ؕ فَمَنْ اَسْلَمَ فَاُولٰٓىِٕكَ تَحَرَّوْا رَشَدًا ١٤ وَ اَمَّا الْقٰسِطُوْنَ
فَكَانُوْا لِجَهَنَّمَ حَطَبًاۙ ١٥

۽ اسان آسمان جو جائزو ورتو ته اسان ڏٺو ته اهو سخت چوڪيدارن ۽ اُلانبن سان ڀرجي ويو آهي ۽ اسان آسمان جي گهڻن رستن تي ٻڌڻ لاءِ ويهندا هئاسون. پوءِ هاڻي جيڪو ٻڌڻ چاهي ٿو ته هو پاڻ لاءِ تيار ٽيل الانبيءَ وارو تارو لهي ٿو ۽ اسان نٿا ڄاڻون ته زمين وارن لاءِ ڪنهن مدائي جو ارادو ڪيو آهي يا سندن رب سندن لاءِ ڪو چڱائي جو ارادو ڪيو آهي ۽ هي ته اسان مان ڪجهه نيڪ آهن ۽ ڪي ان کان سواءِ به آهن. اسان مختلف طريقن تي آهيون ۽ هي ته اسان ڄاتو ته زمين ۾ الله کي ڪڏهن به ٿڪائي نه سگهنداسون ۽ نه ڪي ڀڄي ڪڏهن ٿڪائي سگهنداسون ۽ جڏهن اسان هدايت جي ڳالهه ٻڌي ته اسان ان تي ايمان آندو. پوءِ جيڪو پنهنجي رب تي ايمان آڻيندو سو نه ڪنهن نقصان کان ۽ نه ڪي ڪنهن ظلم کان ڊڄندو ۽ هي ته اسان مان ڪي فرمانبردار آهن ۽ اسان مان ڪي گنهگار آهن. پوءِ جنهن فرمانبرداري ڪئي ته انهن سڌي واٽ کي لڌو ۽ جيڪي گنهگار آهن سي دوزخ جو ٻارڻ هوندا. ٨-١٥

قرآن ٻڌڻ وارن جنن قرآن کي ٻڌي نه رڳو فوراً ان کي مڃي ورتو، بلڪ ان ئي سان گڏ اهي ان جا داعي به بڻجي ويا. ان مان معلوم ٿيو ته سچو ڪلام جڏهن زنده ماڻهن جي ڪنن تائين پهچي ٿو ته هو هڪ ئي وقت ۾ ٻن قسمن جو اثر پيدا ڪري ٿو. ٻڌڻ وارو ان جي سچائي جو دل سان اعتراف ڪري ٿو ۽ پيو ان جي عام تبليغ به ڪندو آهي.

وَّ اَنْ لَّوِ اسْتَقَامُوْا عَلَى الطَّرِيْقَةِ لَاَسْقَيْنٰهُمْ مَّآءً غَدَقًاۙ ١٦ لِّنَفْتِنَهُمْ فِيْهِ ؕ وَ مَنْ
يُّعْرِضْ عَنْ ذِكْرِ رَبِّهٖ يَسْلُكْهُ عَذَابًا صَعَدًاۙ ١٧ وَّ اَنَّ الْمَسٰجِدَ لِلّٰهِ فَلَا تَدْعُوْا مَعَ اللّٰهِ
اَحَدًاۙ ١٨ وَّ اَنَّهٗ لَمَّا قَامَ عَبْدُ اللّٰهِ يَدْعُوْهُ كَادُوْا يَكُوْنُوْنَ عَلَيْهِ لِبَدًاؕ ١٩ قُلْ اِنَّمَاۤ اَدْعُوْا ع ١٩

رَبِّيْ وَلَآ اُشْرِكُ بِهٖٓ اَحَدًا ﴿٢٠﴾ قُلْ اِنِّيْ لَآ اَمْلِكُ لَكُمْ ضَرًّا وَّلَا رَشَدًا ﴿٢١﴾ قُلْ اِنِّيْ لَنْ يُّجِيْرَنِيْ
مِنَ اللّٰهِ اَحَدٌ ۙ وَّلَنْ اَجِدَ مِنْ دُوْنِهٖ مُلْتَحَدًا ﴿٢٢﴾ اِلَّا بَلٰغًا مِّنَ اللّٰهِ وَرِسٰلٰتِهٖ ۭ وَمَنْ
يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَاِنَّ لَهٗ نَارَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ﴿٢٣﴾

۽ مون ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي ته هي ماڻهو جيڪڏهن سڌي رستي تي قائم ٿين ها ته اسان (سندن پوکون) ضرور سيراب ڪريون ها، ته جيئن ڪين پرکيون ۽ جيڪو پنهنجي رب جي ياد کان منهن موڙيندو ته هو ان کي سخت عذاب ۾ مبتلا ڪندو ۽ سڀ مسجدون الله لاءِ آهن. تنهن ڪري توهان الله سان گڏ ڪنهن ٻئي کي نه پڪاريو ۽ هي ته جنهن مهل الله جو ٻانهو ان کي پڪارڻ لاءِ بيهندو آهي ته ماڻهو مٿس ڳاهٽ ڪرڻ تي هئا، چئو ته آئون رڳو پنهنجي پالڻهار جي عبادت ڪريان ٿو ۽ ڪنهن هڪڙي کي ساڻس شريڪ نه ٿو ڪريان. چئو ته توهان ماڻهن لاءِ نه ڪنهن نقصان جو اختيار رکان ٿو ۽ نه ڪنهن ڀلائي جو. چئو مون کي الله کان سواءِ ڪو بچائي نه ٿو سگهي ۽ نه ان کان سواءِ ڪا پناهه لهندس، پوءِ الله جي طرفان خبر پهچائڻي آهي ۽ سندس پيغام پهچائڻا آهن ۽ جيڪو شخص الله ۽ سندس رسول جي نافرماني ڪندو ته ان لاءِ جهنم جي باهه آهي، جنهن ۾ هو هميشه رهندا. ١٦-٢٣

موجوده دنيا جو نظام امتحان جي مصلحت تحت ٺاهيو ويو آهي. ان ڪري هتي سچائي صرف پيغام پهچائڻ جي حدتائين ڪنهن جي سامهون آڻبي آهي. جيڪڏهن امتحان جي مصلحت نه هجي ۽ غيب جو پردو هٽايو وڃي ته ماڻهو ڏسندا ته فرشتن کان وٺي صالح جن به الله جي خدائي جو اعتراف ڪري رهيا آهن ۽ سڄي ڪائنات سراسر الله جي تصديق ڪري رهي آهي.

حَتّٰٓي اِذَا رَاَوْا مَا يُوْعَدُوْنَ فَسَيَعْلَمُوْنَ مَنْ اَضْعَفُ نَاصِرًا وَّاَقَلُّ عَدَدًا ﴿٢٤﴾ قُلْ اِنْ
اَدْرِيْٓ اَقَرِيْبٌ مَّا تُوْعَدُوْنَ اَمْ يَجْعَلُ لَهٗ رَبِّيْٓ اَمَدًا ﴿٢٥﴾ عٰلِمُ الْغَيْبِ فَلَا يُظْهِرُ عَلٰي غَيْبِهٖٓ
اَحَدًا ﴿٢٦﴾ اِلَّا مَنِ ارْتَضٰي مِنْ رَّسُوْلٍ فَاِنَّهٗ يَسْلُكُ مِنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهٖ رَصَدًا ﴿٢٧﴾
ع ٩ ١٢ لِّيَعْلَمَ اَنْ قَدْ اَبْلَغُوْا رِسٰلٰتِ رَبِّهِمْ وَاَحَاطَ بِمَا لَدَيْهِمْ وَاَحْصٰي كُلَّ شَيْءٍ عَدَدًا ﴿٢٨﴾

ايستائين جڏهن اهي ڏسندا ان شيءِ کي جنهن جو ساڻن واعدو ڪيو پيو وڃي ته اهي ڄاڻي وٺندا ته ڪنهن جا مددگار ڪمزور آهن ۽ ڪير تعداد ۾ گهٽ آهي. چئو آئون نه ٿو ڄاڻان ته جنهن شيءِ جو توهان سان واعدو ڪيو پيو وڃي، اها ويجهي آهي يا منهنجي رب ان لاءِ ڊگهي مدت مقرر ڪئي آهي. غيب جو ڄاڻڻ وارو اهوئي آهي. هو پنهنجي غيب تي ڪنهن کي واقف نه ڪندو آهي، سواءِ ان رسول جي جنهن کي ان پسند ڪيو هجي، پوءِ هو ان جي اڳيان ۽ سندس پٺيان نگهبان لڳائي ڇڏيندو آهي، ته جيئن الله ڄاڻي وٺي ته انهن پنهنجي رب جا پيغام پهچائي ڇڏيا آهن ۽ جيڪي وٽن آهي تنهن کي (الله) گهيرو ڪري رکيو آهي ۽ هن هر شيءِ کي ڳڻي رکيو آهي. ٢٤-٢٨

حق جو داعي بظاهر هڪ عام انسان هوندو آهي. ان ڪري اهي ماڻهو ان تي اڳرائي ڪندا آهن جن تي سندس دعوت جي چوٽ لڳي رهي هجي. انهن کان وسري ٿو وڃي ته حق جي داعي خلاف ڪارروائي خود الله جي خلاف ڪارروائي آهي ۽ ڪير آهي جيڪو الله جي خلاف ڪارروائي ڪري ڪامياب ٿئي.

اٰياتها ٢٠ (٧٣) سُوۡرَةُ الۡمُزَّمِّلِ مَكِّيَّةٌ (٣) رڪوعاتها ٢

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

يٰۤاَيُّهَا الۡمُزَّمِّلُ ۙ﴿۱﴾ قُمِ الَّيۡلَ اِلَّا قَلِيۡلًا ۙ﴿۲﴾ نِّصۡفَهٗۤ اَوِ انۡقُصۡ مِنۡهُ قَلِيۡلًا ۙ﴿۳﴾ اَوۡ زِدۡ عَلَيۡهِ وَ
رَتِّلِ الۡقُرۡاٰنَ تَرۡتِيۡلًا ؕ﴿۴﴾ اِنَّا سَنُلۡقِيۡ عَلَيۡكَ قَوۡلًا ثَقِيۡلًا ﴿۵﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

اي چادر ويڙهڻ وارا! رات جو قيام ڪر، پر ٿورو حصو. اڌ رات يا ان کان ٿورو گهٽاءِ يا ان کان ڪجهه وڌاءِ ۽ قرآن کي آهستي آهستي پڙهه. اسان توتي هڪ ڳرو ڪلام نازل ڪرڻ وارا آهيون. ١-٥

آهستي آهستي پڙهه جو مطلب آهي ته مفهوم تي ڌيان ڏئي پڙهه. جڏهن ماڻهو ايئن ڪندو آهي ته قاري ۽ قرآن جي وچ ۾ هڪ ٻه طرفو عمل شروع ٿي ويندو آهي. قرآن اُن جي لاءِ الله جو خطاب هوندو آهي ۽ ان جي دل هر آيت تي ان خطاب جو جواب ڏيندي رهي ٿي. جڏهن قرآن ۾ الله جي وڏائي جو ذڪر ايندو آهي ته قاري جو پورو وجود ان جي وڏائي جي احساس کان ڊهجي ويندو آهي. جڏهن قرآن ۾ الله جا احسان ٻڌايا ويندا آهن ته انهن کي سوچي قاري جو دل الله جي شڪر سان ڀرجي ويندو آهي. جڏهن قرآن ۾ الله جي پڪڙ جو بيان هوندو آهي ته قاري ان کي پڙهي ڏڪي ويندو آهي. جڏهن قرآن ۾ ڪو حڪم ٻڌايو ويندو آهي ته قاري جي اندر اهو جذبو پيدا ٿيندو آهي جو هو ان حڪم کي مڃي پنهنجي رب جو فرمانبردار بڻجي وڃي.

”ڳرو قول“ مان مراد ڊيڄارڻ جو حڪم آهي. اڳيان اچڻ واري سورت ۾ اچي رهيو آهي (قم فانذر المدثر ٢). يعني آخرت جي مسئلي کان ماڻهن کي خبردار ڪري ڇڏ. اهو ڪم بيشڪ دنيا جو مشڪل ترين ڪم آهي. ان ڪري داعي کي ملاوٽ کان پاڪ حق تي بيهڻو پوندو آهي، چاهي هو سيني ماڻهن جي وچ ۾ اجنبي بڻجي وڃي. ان کي ماڻهن جي ايذائن کي برداشت ڪرڻ پوي ٿو، ته جيئن هن جي ۽ مخاطبن جي وچ ۾ داعي ۽ مدعو جو رشتو آخري وقت تائين قائم رهي. ان کي **هڪ طرفي پاڻ** کي صبر ۽ درگذر جو پابند بڻائڻو پوي ٿو، ته جيئن ڪنهن به حال ۾ سندس داعي واري حيثيت کي نقصان نه پهچي.

اِنَّ نَاشِئَةَ الَّيۡلِ هِيَ اَشَدُّ وَطۡاً وَّ اَقۡوَمُ قِيۡلًا ؕ﴿۶﴾ اِنَّ لَكَ فِي النَّهَارِ سَبۡحًا طَوِيۡلًا ؕ﴿۷﴾ وَ اذۡكُرِ
اسۡمَ رَبِّكَ وَ تَبَتَّلۡ اِلَيۡهِ تَبۡتِيۡلًا ؕ﴿۸﴾ رَبُّ الۡمَشۡرِقِ وَ الۡمَغۡرِبِ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ فَاتَّخِذۡهُ
وَكِيۡلًا ﴿۹﴾ وَ اصۡبِرۡ عَلٰى مَا يَقُوۡلُوۡنَ وَ اهۡجُرۡهُمۡ هَجۡرًا جَمِيۡلًا ﴿۱۰﴾ وَ ذَرۡنِيۡ وَ الۡمُكَذِّبِيۡنَ اُولِي
النَّعۡمَةِ وَ مَهِّلۡهُمۡ قَلِيۡلًا ﴿۱۱﴾ اِنَّ لَدَيۡنَاۤ اَنۡكَالًا وَّ جَحِيۡمًا ۙ﴿۱۲﴾ وَّ طَعَامًا ذَا غُصَّةٍ وَّ عَذَابًا
اَلِيۡمًا ٭﴿۱۳﴾ يَوۡمَ تَرۡجُفُ الۡاَرۡضُ وَ الۡجِبَالُ وَ كَانَتِ الۡجِبَالُ كَثِيۡبًا مَّهِيۡلًا ﴿۱۴﴾

بيشڪ رات جو اٿڻ تمام سخت آهي ۽ ڳالهه نيڪ نڪرندي آهي. بيشڪ توکي ڏينهن ۾ گهڻا ڪم هوندا آهن ۽ پنهنجي رب جو نالو ياد ڪر ۽ سيني ڪان الڳ ٿي ان ڏانهن توجهه ڪر. هو اوڀر ۽ اولهه جو مالڪ آهي. ان ڪان سواءِ ڪو معبود نه آهي. تنهن ڪري تون ان کي پنهنجو ڪارساز بڻائي ۽ ماڻهو جيڪو ڪجهه چوندا آهن ان تي صبر ڪر ۽ چڱي طرح سان انهن ڪان الڳ ٿي وڃ ۽ ڪوڙ پائيندڙن ۽ آسوده ماڻهن جو معاملو مون تي ڇڏي ڏي ۽ انهن کي ٿوري مهلت ڏي. اسان وٽ ڳريون هٿڪڙيون (بيڙيون) آهن ۽ دوزخ آهي ۽ نڙي ۾ ڦاسندڙ کاڌو ۽ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. جنهن ڏينهن زمين ۽ جبل ڏڪندا ۽ جبل واري جا هاريل ڍڳ ٿيندا. ٦-١٤

ملاوٽ ڪان پاڪ دعوت جو ڪم ڪٽي اٿڻ مشڪل ترين مهم لاءِ اٿڻ آهي. اهڙو شخص پوري ماحول ۾ هڪ نه وڻندڙ شخص بڻجي ويندو آهي. اهڙي حالت ۾ حق جو داعي جنهن واحد هستي کي پنهنجو دوست ۽ ڪارساز لهي ٿو، اهو هن جو الله آهي. هو نه صرف دل ۾ پنهنجي الله کي ياد ڪندو رهي ٿو، بلڪ هو رات جي وقتن ۾ به ان جي آڏو بيهندو آهي. رات جو وقت فرصت جو وقت آهي. رات جي خاموشي ۾ ماڻهو پوري يڪسوئي سان الله ڏانهن متوجهه ٿي سگهي ٿو. حق جي دعوت جي مشڪل رستي ۾ داعي جو اصل هٿيار اهوئي آهي.

سچي داعي جو اهو طريقو آهي ته هن کي مدعو جي طرفان تڪليف پهچندي آهي ته هو مدعو سان نه ٿو الجهي، بلڪ هو الله ڏانهن ڊوڙندو آهي. هو آخري حدتائين پاڻ کي ردعمل جي نفسيات ڪان بچائيندو آهي ۽ ردعمل جي نفسيات ڪان بلند ٿي ڪم ڪرڻ ئي اها واحد لازمي شرط آهي، جيڪا ڪنهن شخص کي حقيقت ۾ حق جو داعي بڻائي ٿي.

اِنَّآ اَرْسَلْنَآ اِلَيْكُمْ رَسُوْلًا ۙ شَاهِدًا عَلَيْكُمْ كَمَآ اَرْسَلْنَآ اِلٰى فِرْعَوْنَ رَسُوْلًا ﴿١٥﴾ فَعَصٰى
فِرْعَوْنُ الرَّسُوْلَ فَاَخَذْنٰهُ اَخْذًا وَّبِيْلًا ﴿١٦﴾ فَكَيْفَ تَتَّقُوْنَ اِنْ كَفَرْتُمْ يَوْمًا يَّجْعَلُ
الْوِلْدَانَ شِيْبًا ﴿١٧﴾ اِلسَّمَآءُ مُنْفَطِرٌۢ بِهٖ ۭ كَانَ وَعْدُهٗ مَفْعُوْلًا ﴿١٨﴾ اِنَّ هٰذِهٖ تَذْكِرَةٌ ۚ فَمَنْ
ع ١٩/١٣ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيْلًا ﴿١٩﴾

اسان توهان ڏانهن هڪ رسول موڪليو آهي. توهان تي شاهد بڻائي، جهڙي طرح اسان فرعون ڏانهن هڪ رسول موڪليو، پوءِ فرعون رسول جو چيو نه مڃيو ته اسان ان کي سخت پڪڙ ۾ پڪڙيوسون، پوءِ جيڪڏهن توهان انڪار ڪيو ته توهان ان ڏينهن جي عذاب ڪان ڪيئن بچندو، جيڪو ٻارن کي پيڙهو ڪري ڇڏيندو. جنهن ڏينهن آسمان ڦاٽي پوندو ۽ بيشڪ (الله) جو واعدو پورو ٿي رهندو. هي هڪ نصيحت آهي، پوءِ جيڪو چاهي پنهنجي رب ڏانهن واٽ وٺي. ١٥-١٩

پيغمبر جو اچڻ حق ۽ باطل جي وچ ۾ فيصلو ڪرڻ لاءِ هوندو آهي. اهوئي فيصلو اڳ ۾ موسيٰ عليه السلام ۽ فرعون جي وچ ۾ ٿيو هو. پوءِ اهوئي فيصلو پيغمبر اسلام ۽ قريش جي وچ ۾ ٿيو هو. جيڪي ماڻهو دنيا ۾ الله جي داعي جي اڳيان نه جهڪن، اهي پاڻ کي ان خطري ۾ وجهي رهيا آهن ته آخرت ۾ انهن کي الله جي عذاب جي اڳيان جهڪڻو پوندو.

اِنَّ رَبَّكَ يَعْلَمُ اَنَّكَ تَقُوْمُ اَدْنٰى مِنْ ثُلُثَيِ الَّيْلِ وَ نِصْفَهٗ وَ ثُلُثَهٗ وَ طَآئِفَةٌ مِّنَ الَّذِيْنَ

مَعَكَ ۭ وَاللّٰهُ يُقَدِّرُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ ۭ عَلِمَ اَنْ لَّنْ تُحْصُوْهُ فَتَابَ عَلَيْكُمْ فَاقْرَءُوْا مَا تَيَسَّرَ
مِنَ الْقُرْاٰنِ ۭ عَلِمَ اَنْ سَيَكُوْنُ مِنْكُمْ مَّرْضٰى ۙ وَاٰخَرُوْنَ يَضْرِبُوْنَ فِي الْاَرْضِ يَبْتَغُوْنَ
مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ ۙ وَاٰخَرُوْنَ يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ڮ فَاقْرَءُوْا مَا تَيَسَّرَ مِنْهُ ۙ وَاَقِيْمُوا
الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَاَقْرِضُوا اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا ۭ وَمَا تُقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ مِّنْ خَيْرٍ
ع ٢ ١٤ تَجِدُوْهُ عِنْدَ اللّٰهِ هُوَ خَيْرًا وَّاَعْظَمَ اَجْرًا ۭ وَاسْتَغْفِرُوا اللّٰهَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝۲۰

بيشڪ تنهنجو رب ڄاڻي ٿو تہ تون پڻ ٽهائن رات جي ويجهو پڻ يا اڌ رات جو يا ٽهائي رات قيام ڪندو آهين ۽ هڪ جماعت تنهنجي ساٿين مان بہ ۽ الله ئي رات ۽ ڏينهن جو اندازو ڪندڙ آهي. الله ڄاتو تہ توهان ان ڪي پورو نہ ڪري سگهندو، تنهن ڪري هن توهان تي مهرباني فرمائي. تنهن ڪري جيترو آساني سان ٿي سگهي قرآن پڙهو. الله ڄاڻي ٿو تہ توهان مان ڪير بيمار هوندا ۽ ڪيترائي ماڻهو الله جي فضل جي تلاش ۾ زمين ۾ سفر ڪندا ۽ ٻيا اهڙا ماڻهو بہ هوندا جيڪي الله جي راهہ ۾ جهاد ڪندا. تنهن ڪري ان مان پڙهو جيترو توهان ڪي آسان ٿي سگهي ۽ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ادا ڪريو ۽ الله ڪي قرض ڏيو، چڱو قرض ۽ جيڪا ڀلائي توهان پاڻ لاءِ اڳيان موڪليندو، تنهن ڪي الله وٽ وڌيڪ چڱو ۽ اجر جي لحاظ کان تمام وڌو لهندو ۽ الله کان بخشش گهرو. بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي. ٢٠

دين ۾ جيڪي عمل فرض آهن، اهي عام انسانن جي طاقت جي مطابق مقرر ڪيا ويا آهن، پر اُهي فرض صرف لازمي حدن ڪي ٻڌائيندا آهن. ان لازمي حد کان اڳيان بہ گهربل عمل آهن، پر اهي نفل آهن. مثلاً پنج وقت جي نمازن کان بعد تهجد، زڪوات کان بعد وڌيڪ خيرات ۽ صدقو وغيره. اهو ماڻهو جي پنهنجي حوصلي جو امتحان آهي تہ هو ڪيترو وڌيڪ عمل ڪري ٿو ۽ آخرت ۾ ڪيتري وڌيڪ انعام جو مستحق بڻجي ٿو.

## اٰياتها ٥٦ (٧٤) سُوْرَةُ الْمُدَّثِّرِ مَكِّيَّةٌ (٤) رکوعاتها ٢

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

يٰٓاَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ ۝۱ قُمْ فَاَنْذِرْ ۝۲ وَرَبَّكَ فَكَبِّرْ ۝۳ وَثِيَابَكَ فَطَهِّرْ ۝۴ وَالرُّجْزَ فَاهْجُرْ ۝۵ وَلَا
تَمْنُنْ تَسْتَكْثِرُ ۝۶ وَلِرَبِّكَ فَاصْبِرْ ۝۷

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

اي چادر ويڙهڻ وارا! اٿي کڙو ٿيءُ ۽ ماڻهن ڪي ڊيڄار ۽ پنهنجي رب جي وڏائي بيان ڪر ۽ پنهنجا ڪپڙا پاڪ رک ۽ پليتي کان پري رهہ ۽ ايئن نہ ڪر جو احسان ڪرين ۽ گهڻو عيوض چاهين ۽ پنهنجي رب جي لاءِ صبر اختيار ڪر. ١-٧

هن دنيا ۾ پيغمبر جو اصل ڪم ڊيڄارڻ آهي. يعني آخرت ۾ پيش اچڻ واري سنگين مسئلي

ڪان ماڻهن کي آگاھ ڪرڻ. اهو ڪم اهوئي ماڻهو ڪري سگهي ٿو جنهن جي دل الله جي وڏائي سان ڀريل هجي. جيڪو سٺي اخلاق جو مالڪ هجي، جيڪو هر قسم جي برائي کان پري رهي، جيڪو بدلو ملڻ جي اميد کان سواءِ نيڪي ڪري، جيڪو ٻين جي طرفان پيش اچڻ وارين تڪليفن تي هڪ طرفو صبر ڪري سگهي.

فَاِذَا نُقِرَ فِي النَّاقُوْرِ ﴿٨﴾ فَذٰلِكَ يَوْمَىِٕذٍ يَّوْمٌ عَسِيْرٌ ﴿٩﴾ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ غَيْرُ يَسِيْرٍ ﴿١٠﴾ ذَرْنِيْ
وَ مَنْ خَلَقْتُ وَحِيْدًا ﴿١١﴾ وَّ جَعَلْتُ لَهٗ مَالًا مَّمْدُوْدًا ﴿١٢﴾ وَّ بَنِيْنَ شُهُوْدًا ﴿١٣﴾ وَّ مَهَّدْتُّ لَهٗ
تَمْهِيْدًا ﴿١٤﴾ ثُمَّ يَطْمَعُ اَنْ اَزِيْدَ ﴿١٥﴾ كَلَّا ؕ اِنَّهٗ كَانَ لِاٰيٰتِنَا عَنِيْدًا ﴿١٦﴾ سَاُرْهِقُهٗ صَعُوْدًا ﴿١٧﴾

پوءِ جڏهن صور ۾ ڦوڪيو ويندو ته اهو وڏو سخت ڏينهن هوندو، ڪافرن تي آسان نه هوندو. ڇڏي ڏي مونکي ۽ ان شخص کي جنهن کي مون اڪيلو پيدا ڪيو ۽ ان کي گهڻو مال ڏنو ۽ حاضر رهڻ وارا پٽ. ان کي پوري طرح وڌايم. پوءِ به لالچ رکندو آهي ته آئون ڪيس وڌيڪ ڏيان، هرگز نه. هو اسان جي آيتن جو مخالف آهي. جلد آئون ان کي سخت تڪليف ۾ ڦاسائيندس. ٨-١٧

جيڪو ماڻهو پاڻ کي ان حال ۾ لهي جو ان وٽ مال به آهي ۽ ساٿين جي فوج به، ته ان جي اندر ڪوڙو اعتماد پيدا ٿي ويندو آهي. هو سمجهڻ لڳي ٿو ته موجوده دنيا ۾ منهنجو حال درست آهي. اهڙي طرح آخرت ۾ به منهنجو حال چڱو ٿي رهندو. پر قيامت جي ايندي ئي سڄي صورتحال بدلجي ويندي. اهو ماڻهو جيڪو دنيا ۾ هر طرف آسانيون ڏسي رهيو هو، اهو قيامت جي ڏينهن پاڻ کي نه ختم ٿيڻ وارين مصيبتن ۾ گهيريل ڏسندو.

اِنَّهٗ فَكَّرَ وَ قَدَّرَ ﴿١٨﴾ فَقُتِلَ كَيْفَ قَدَّرَ ﴿١٩﴾ ثُمَّ قُتِلَ كَيْفَ قَدَّرَ ﴿٢٠﴾ ثُمَّ نَظَرَ ﴿٢١﴾ ثُمَّ عَبَسَ وَ
بَسَرَ ﴿٢٢﴾ ثُمَّ اَدْبَرَ وَ اسْتَكْبَرَ ﴿٢٣﴾ فَقَالَ اِنْ هٰذَاۤ اِلَّا سِحْرٌ يُّؤْثَرُ ﴿٢٤﴾ اِنْ هٰذَاۤ اِلَّا قَوْلُ الْبَشَرِ ﴿٢٥﴾ ع ٢١ ١٥

ان سوچيو ۽ ڳالهه ٺاهي، پوءِ هو هلاڪ ٿئي، ان ڪهڙي ڳالهه ٺاهي، پوءِ هو هلاڪ ٿئي، ان ڪهڙي ڳالهه ٺاهي پوءِ ان ڏٺو پوءِ ان گهنڊ پاتو ۽ منهن بڇڙو ڪيائين. پوءِ پٺيرو ٿيو ۽ تڪبر ڪيائين. پوءِ چيائين هي ته رڳو هڪ جادو آهي جيڪو اڳين کان هلندو پيو اچي. هي ته رڳو ماڻهو جو ڪلام آهي. ١٨-٢٥

حق کي مڃڻ ۾ سڀني کان وڏي رڪاوٽ تڪبر آهي. جيڪي ماڻهو ماحول ۾ وڏائي جو درجو حاصل ڪري وٺن، اهي حق جو اعتراف ان ڪري نه ڪندا آهن جو ان جو اعتراف ڪرڻ سان سندن وڏائي ختم ٿي ويندي. پنهنجي ان انڪار کي لڪائڻ لاءِ اهي وڌيڪ اهو ڪندا آهن جو داعي جي ڪلام ۾ عيب ڪڍندا آهن. اهي داعي تي الزام هڻي ان جي حيثيت کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

سَاُصْلِيْهِ سَقَرَ ﴿٢٦﴾ وَ مَاۤ اَدْرٰىكَ مَا سَقَرُ ﴿٢٧﴾ لَا تُبْقِيْ وَ لَا تَذَرُ ﴿٢٨﴾ لَوَّاحَةٌ لِّلْبَشَرِ ﴿٢٩﴾ عَلَيْهَا
تِسْعَةَ عَشَرَ ﴿٣٠﴾ وَ مَا جَعَلْنَاۤ اَصْحٰبَ النَّارِ اِلَّا مَلٰٓىِٕكَةً ۪ وَّ مَا جَعَلْنَا عِدَّتَهُمْ اِلَّا فِتْنَةً
لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۙ لِيَسْتَيْقِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ وَ يَزْدَادَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِيْمَانًا وَّ لَا

يَرْتَابَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ وَ الْمُؤْمِنُوْنَ ۙ وَ لِيَقُوْلَ الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ وَّ
الْكٰفِرُوْنَ مَا ذَآ اَرَادَ اللّٰهُ بِهٰذَا مَثَلًا ؕ كَذٰلِكَ يُضِلُّ اللّٰهُ مَنْ يَّشَآءُ وَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ
وَ مَا يَعْلَمُ جُنُوْدَ رَبِّكَ اِلَّا هُوَ ؕ وَ مَا هِيَ اِلَّا ذِكْرٰى لِلْبَشَرِ ﴿٣١﴾ ع

آئون ان کي جلد دوزخ ۾ داخل ڪندس ۽ تو کي ڪهڙي خبر ته دوزخ ڇا آهي، نه باقي رهڻ ڏي ٿو ۽ نه ڇڏي ٿو. ماڻهن کي ساڙي ڪارو ڪندڙ آهي. ان تي اوڻيهه فرشتا آهن ۽ اسان دوزخ جا دربان رڳو فرشتا ڪيا آهن ۽ اسان سندن ڳڻپ رڳو منڪرن جي پرک لاءِ رکي آهي، ته جيئن يقين حاصل ڪن اُهي ماڻهو جن کي ڪتاب ڏنو ويو آهي ۽ ايمان وارا پنهنجي ايمان کي وڌائين ۽ ڪتاب وارا ۽ مؤمن شڪ نه ڪن ۽ ته جيئن جن ماڻهن جي دلين ۾ بيماري آهي، اُهي ۽ منڪر ماڻهو چون ته ان مان الله جو ڇا مطلب آهي. اهڙي طرح الله گمراهه ڪري ٿو جنهن کي چاهي ٿو ۽ هدايت ڏي ٿو جنهن کي چاهي ٿو ۽ تنهنجي رب جي لشڪر کي صرف اهوئي ڄاڻي ٿو ۽ هي ته رڳو نصيحت آهي ماڻهن جي واسطي. ٢٦-٣١

---

جهنم جا احوال جيڪي قرآن ۾ ٻڌايا ويا آهن، اهي سيئي غيب جي دنيا سان تعلق رکن ٿا. جهنم ۾ اوڻيهه فرشتن جو هئڻ به ان ئي نوعيت جي هڪ ڳالهه آهي. ماڻهو جيڪڏهن اجايون ڳالهيون ڪري ته اهي ڳالهيون ان جي شڪ ۾ اضافو ڪنديون. پر جيڪڏهن ايمان جو طريقو اختيار ڪيو وڃي ته اهڙي قسم جون ڳالهيون ماڻهو جي آخرت جي خوف ۾ اضافو ڪنديون.

مع عندالمتقدمين ۱۲

كَلَّا وَ الْقَمَرِ ﴿٣٢﴾ وَ الَّيْلِ اِذْ اَدْبَرَ ﴿٣٣﴾ وَ الصُّبْحِ اِذَآ اَسْفَرَ ﴿٣٤﴾ اِنَّهَا لَاِحْدَى الْكُبَرِ ﴿٣٥﴾ نَذِيْرًا
لِّلْبَشَرِ ﴿٣٦﴾ لِمَنْ شَآءَ مِنْكُمْ اَنْ يَّتَقَدَّمَ اَوْ يَتَاَخَّرَ ﴿٣٧﴾ كُلُّ نَفْسٍ بِمَا كَسَبَتْ رَهِيْنَةٌ ﴿٣٨﴾ اِلَّآ
اَصْحٰبَ الْيَمِيْنِ ﴿٣٩﴾ فِيْ جَنّٰتٍ ؕ يَتَسَآءَلُوْنَ ﴿٤٠﴾ عَنِ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٤١﴾ مَا سَلَكَكُمْ فِيْ سَقَرَ ﴿٤٢﴾
قَالُوْا لَمْ نَكُ مِنَ الْمُصَلِّيْنَ ﴿٤٣﴾ وَ لَمْ نَكُ نُطْعِمُ الْمِسْكِيْنَ ﴿٤٤﴾ وَ كُنَّا نَخُوْضُ مَعَ
الْخَآئِضِيْنَ ﴿٤٥﴾ وَ كُنَّا نُكَذِّبُ بِيَوْمِ الدِّيْنِ ﴿٤٦﴾ حَتّٰى اَتٰىنَا الْيَقِيْنُ ﴿٤٧﴾ فَمَا تَنْفَعُهُمْ
شَفَاعَةُ الشّٰفِعِيْنَ ﴿٤٨﴾

هرگز نه. قسم آهي چنڊ جو ۽ رات جو جڏهن پٺ ڦيري ۽ صبح جو جڏهن روشن ٿئي، ته دوزخ وڏين شين مان آهي. انسانن لاءِ ڊيڄاريندڙ. توهان مان انهيءَ لاءِ جيڪو گهري ته (جنت) لاءِ اڳتي وڌي يا (دوزخ ۾) ۾ پٺتي رهي. هر ماڻهو پنهنجي عملن جي بدلي ۾ ڳهه پيل آهي، پر ساڄي پاسي وارا، اهي باغن ۾ هوندا، پڇندا هوندا ڏوهارين کان، توهان کي ڪهڙي شيءِ دوزخ ۾ وڌي وئي، هو چوندا ته اسان نماز پڙهڻ وارن مان نه هئاسون ۽ اسان غريبن کي کاڌو نه کارائيندا هئاسون ۽ اسان بحث ڪندڙن سان بحث ڪندا هئاسون ۽ اسان انصاف جي ڏينهن کي ڪوڙو سمجهندا هئاسون. ايستائين جو يقيني ڳالهه (موت) اسان کي پهتي، پوءِ کين سفارش ڪرڻ وارن جي سفارش ڪجهه فائدو نه ڏيندي . ٣٢-٤٨

---

هن دنيا ۾ گردش جو نظام آهي، ان جي ڪري چنڊ جون تاريخون بدلجن ٿيون ۽ زمين تي بار بار رات ۽ ڏينهن ايندا آهن. اهو گردش ۽ تبديلي جو نظام ڄڻ هڪ اشارو آهي ته اهڙي طرح موجوده دنياوي دور بدلجي ويندو

۾ آخرت جو دور ايندو. جيڪي ماڻهو ان نظام تي غور ڪن، اهي چاهيندا ته ”رات“ جي اچڻ کان اڳ ۾ پاڻ لاءِ ”ڏينهن“ کي استعمال ڪري وٺن. اهي جهنم وارن عملن کان ٻچندا ۾ جنت وارن عملن کي اختيار ڪندا.

فَمَا لَهُمْ عَنِ التَّذْكِرَةِ مُعْرِضِيْنَ ﴿٤٩﴾ كَاَنَّهُمْ حُمُرٌ مُّسْتَنْفِرَةٌ ﴿٥٠﴾ فَرَّتْ مِنْ قَسْوَرَةٍ ﴿٥١﴾ بَلْ
يُرِيْدُ كُلُّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ اَنْ يُّؤْتٰى صُحُفًا مُّنَشَّرَةً ﴿٥٢﴾ كَلَّا ؕ بَلْ لَّا يَخَافُوْنَ الْاٰخِرَةَ ﴿٥٣﴾ كَلَّآ
اِنَّهٗ تَذْكِرَةٌ ﴿٥٤﴾ فَمَنْ شَآءَ ذَكَرَهٗ ﴿٥٥﴾ وَ مَا يَذْكُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ؕ هُوَ اَهْلُ التَّقْوٰى وَ
اَهْلُ الْمَغْفِرَةِ ﴿٥٦﴾ ع ٢

پوءِ انهن کي ڇا ٿيو آهي جو نصيحت کان منهن موڙيندا آهن، ڄڻ ته اهي ٿهنڊڙ گڏهه آهن جيڪي شينهن کان ڀڄي رهيا آهن. بلڪ انهن مان هر شخص هي چاهي ٿو ته کيس کليل ڪتاب ڏجن، هرگز نه. بلڪ اهي ماڻهو آخرت کان نٿا ڊڄن. هرگز نه. هي ته هڪ نصيحت آهي، پوءِ جيڪو گهري ان مان نصيحت حاصل ڪري ۽ اهي ان مان نصيحت حاصل نه ڪندا، پر اهو ته الله چاهي. اهوئي الله آهي جنهن کان ڊڄڻ گهرجي ۽ اهوئي بخشش جو مالڪ آهي. ٤٩-٥٦

---

نصيحت چاهي ڪيتري ئي دليل سان هجي، پڌڻ واري لاءِ اِها ان وقت ئي اثرائتي ٿيندي آهي جڏهن هو ان جي باري ۾ سنجيده هجي. جيڪڏهن ٻڌڻ وارو سنجيده نه هوندو ته نصيحت سندس دل ۾ نه لهندي. جيڪو دليل هڪ سنجيده انسان کي تڙپائي ڇڏيندو آهي، اهو رڳو غيرسنجيده انسان کي اجاين بحثن ۾ وجهي ڇڏيندو.

اٰياتها ٤٠ (٧٥) سُوْرَةُ الْقِيٰمَةِ مَكِّيَّةٌ (٣١) ركوعاتها ٢

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

لَآ اُقْسِمُ بِيَوْمِ الْقِيٰمَةِ ﴿١﴾ وَ لَآ اُقْسِمُ بِالنَّفْسِ اللَّوَّامَةِ ﴿٢﴾ اَيَحْسَبُ الْاِنْسَانُ اَلَّنْ
نَّجْمَعَ عِظَامَهٗ ﴿٣﴾ بَلٰى قٰدِرِيْنَ عَلٰۤى اَنْ نُّسَوِّيَ بَنَانَهٗ ﴿٤﴾ بَلْ يُرِيْدُ الْاِنْسَانُ لِيَفْجُرَ
اَمَامَهٗ ﴿٥﴾ يَسْـَٔلُ اَيَّانَ يَوْمُ الْقِيٰمَةِ ﴿٦﴾ فَاِذَا بَرِقَ الْبَصَرُ ﴿٧﴾ وَ خَسَفَ الْقَمَرُ ﴿٨﴾ وَ جُمِعَ
الشَّمْسُ وَ الْقَمَرُ ﴿٩﴾ يَقُوْلُ الْاِنْسَانُ يَوْمَئِذٍ اَيْنَ الْمَفَرُّ ﴿١٠﴾ كَلَّا لَا وَزَرَ ﴿١١﴾ اِلٰى رَبِّكَ يَوْمَئِذِ
اِلْمُسْتَقَرُّ ﴿١٢﴾ يُنَبَّؤُا الْاِنْسَانُ يَوْمَئِذٍۭ بِمَا قَدَّمَ وَ اَخَّرَ ﴿١٣﴾ بَلِ الْاِنْسَانُ عَلٰى نَفْسِهٖ
بَصِيْرَةٌ ﴿١٤﴾ وَّ لَوْ اَلْقٰى مَعَاذِيْرَهٗ ﴿١٥﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

آئون قسم کڻان ٿو قيامت جي ڏينهن جو ۽ آئون قسم کڻان ٿو ملامت ڪرڻ واري نفس جو. ڇا انسان ڀائيندو آهي ته اسان سندس هڏن کي گڏ نه ڪنداسون، ڇو نه اسان ان تي قادر آهيون جو سندس آڱرين جي ڏوڏن کي به

درست ڪري ڇڏيون. بلڪ انسان چاهي ٿو تہ آئينده بہ گناهہ ڪندو رهي، هو پڇي ٿو تہ قيامت جو ڏينهن
ڪڏهن ايندو. پوءِ جڏهن اکيون ڦري وينديون ۽ جڏهن چنڊ بي نور ٿي ويندو ۽ سج ۽ چنڊ گڏبا. ان ڏينهن
انسان چوندو تہ ڀڄڻ جي ڪا واهہ آهي، هرگز نہ. ڪٿي بہ پناهہ نہ آهي. ان ڏينهن تنهنجي رب وٽ ئي ٽڪاڻو جو
هنڌ آهي، ان ڏينهن انسان کي ٻڌايو ويندو تہ هن ڇا اڳيان موڪليو ۽ ڇا پوئتي ڇڏيو بلڪ انسان پنهنجي پاڻ
کي چڱيءَ ريت ڄاڻي ٿو، چاهي هو ڪيترائي بهانا پيش ڪري. ١-١٥

انسان جي اندر پيدائشي طور تي اهو شعور موجود آهي تہ هو برائي ۽ ڀلائي ۾ فرق ڪري سگهي ٿو. هو پنهنجي فطرت جي تحت هي چاهي ٿو تہ برائي ڪرڻ واري کي سزا ملي ۽ چڱائي ڪرڻ واري کي انعام ڏنو وڃي. اهوئي شعور آهي جنهن کي قرآن ۾ نفس لوامہ چيو ويو آهي. هي نفس لوامہ آخرت جي ڏينهن حق هجڻ جي هڪ نفسياتي شهادت آهي. ان ماڻهو جي اندر جي شهادت کان پوءِ جيڪو شخص ان جي تقاضا پورا نہ ڪري، اهو ڄڻ تہ پنهنجي ئي مڃيل ڳالهہ جو انڪار ڪري رهيو آهي.

لَا تُحَرِّكْ بِهٖ لِسَانَكَ لِتَعْجَلَ بِهٖ ۝١٦ اِنَّ عَلَيْنَا جَمْعَهٗ وَ قُرْاٰنَهٗ ۝١٧ فَاِذَا قَرَاْنٰهُ فَاتَّبِعْ
قُرْاٰنَهٗ ۝١٨ ثُمَّ اِنَّ عَلَيْنَا بَيَانَهٗ ۝١٩

تون ان جي پڙهڻ مهل پنهنجي زبان کي نہ چور تہ جيئن تون ان کي جلدي ياد ڪري وٺين. اسان جي ذمي آهي ان
جو گڏ ڪرڻ ۽ ان جو پڙهڻ، پوءِ جڏهن اسان ان کي پڙهايون تہ تون پڙهڻ ۾ پٺيان لڳ، پوءِ ان جو پڌرو ڪرڻ
اسان جي ذمي آهي. ١٦-١٩

رسول اللهﷺ تي وحي نازل ٿيندي هئي تہ پاڻﷺ ان کي وٺڻ ۾ جلدي فرمائيندا هئا. ان کان پاڻﷺ کي منع ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ وڌيڪ فرمايو ويو تہ قرآن جو جيڪو حصو نازل ٿي چڪو آهي ۽ جيڪو توهان کي مخاطب ڪري رهيو آهي، ان تي سڄي توجهہ ڏيو. نہ وري قرآن جي ان باقي حصي تي جيڪو اڃا نازل نہ ٿيو آهي ۽ جنهن اڃا توهان کي مخاطب نہ ڪيو آهي. ان مان اهو معلوم ٿيو تہ جنهن وقت قرآن جو جيڪو حصو جنهن ماڻهو تي لاڳو ٿئي ٿو، ان ئي تي هن کي سيني کان وڌيڪ توجهہ ڏيڻ گهرجي. قرآن جو جيڪو حصو هڪ شخص تي لاڳو نہ ٿو ٿئي تہ ان جي پويان ڊوڙڻ "تڪڙ ڪرڻ" آهي، جيڪو قرآني حڪمت جي سراسر خلاف آهي.

كَلَّا بَلْ تُحِبُّوْنَ الْعَاجِلَةَ ۝٢٠ وَتَذَرُوْنَ الْاٰخِرَةَ ۝٢١ وُجُوْهٌ يَّوْمَىِٕذٍ نَّاضِرَةٌ ۝٢٢ اِلٰى رَبِّهَا نَاظِرَةٌ ۝٢٣ وَ
وُجُوْهٌ يَّوْمَىِٕذٍۢ بَاسِرَةٌ ۝٢٤ تَظُنُّ اَنْ يُّفْعَلَ بِهَا فَاقِرَةٌ ۝٢٥ كَلَّآ اِذَا بَلَغَتِ التَّرَاقِيَ ۝٢٦ وَ قِيْلَ مَنْ سكتة
رَاقٍ ۝٢٧ وَّظَنَّ اَنَّهُ الْفِرَاقُ ۝٢٨ وَالْتَفَّتِ السَّاقُ بِالسَّاقِ ۝٢٩ اِلٰى رَبِّكَ يَوْمَىِٕذِ الْمَسَاقُ ۝٣٠ ع ١٧

هرگز نہ، بلڪ توهان جلدي ملڻ واري دنيا کي دوست رکندا آهيو ۽ جيڪا دير ۾ ملي (آخرت) انهيءَ کي
ڇڏيندا آهيو. ڪي منهن ان ڏينهن سرها هوندا، پنهنجي رب ڏانهن ڏسندا هوندا ۽ ڪجهہ منهن ان ڏينهن (اداس)
ڪارا ٿيل هوندا، ڀائيندا تہ ساڻن چيلهہ ٽوڙڻ وارو معاملو ڪيو ويندو. هرگز نہ، جڏهن ساهہ نڙگهٽ تي پهچندو
۽ چيو ويندو ڪو ڦيڻو رکڻ وارو آهي ۽ هو ڀائيندو تہ هي جدا ٿيڻ جو وقت آهي ۽ هڪ پنيءَ ٻئي پنيءَ سان
وچڙندي، ان ڏينهن تنهنجي رب ڏانهن هلڻو آهي. ٢٠-٣٠

آخرت کان غلفت جو سبب هميشہ رڳو هڪڙو هوندو آهي ۽ اها دنيا سان محبت (حب عاجلہ) آهي. يعني پنهنجي عمل جو فوراً نتيجو چاهڻ. آخرت لاءِ عمل جو نتيجو دير سا ملندو آهي، ان ڪري ماڻهو ان کي نظرانداز ڪري ڇڏيندو آهي ۽ دنيا لاءِ عمل ڪرڻ جو نتيجو فوراً ملندي نظر اچي ٿو. ان ڪري ماڻهو ان ڏانهن ڊوڙي پوندو آهي. ماڻهو ڏسندا آهن تہ هر ماڻهو تي آخرڪار موت ايندي آهي ۽ ان جي سيني ڪاميابين کي باطل ڪري ڇڏيندي آهي، پر ڪو بہ ماڻهو ان مان سبق نہ ٿو وٺي. ايستائين جو خود سندس موت جو وقت اچي ويندو آهي ۽ ڪانئس سبق وٺڻ جي مهلت کسي ٿو وٺي.

فَلَا صَدَّقَ وَ لَا صَلّٰى ﴿٣١﴾ وَ لٰكِنْ كَذَّبَ وَ تَوَلّٰى ﴿٣٢﴾ ثُمَّ ذَهَبَ اِلٰٓى اَهْلِهٖ يَتَمَطّٰى ﴿٣٣﴾ اَوْلٰى لَكَ
فَاَوْلٰى ﴿٣٤﴾ ثُمَّ اَوْلٰى لَكَ فَاَوْلٰى ﴿٣٥﴾ اَيَحْسَبُ الْاِنْسَانُ اَنْ يُّتْرَكَ سُدًى ﴿٣٦﴾ اَلَمْ يَكُ نُطْفَةً
مِّنْ مَّنِيٍّ يُّمْنٰى ﴿٣٧﴾ ثُمَّ كَانَ عَلَقَةً فَخَلَقَ فَسَوّٰى ﴿٣٨﴾ فَجَعَلَ مِنْهُ الزَّوْجَيْنِ الذَّكَرَ وَ
ع الْاُنْثٰى ﴿٣٩﴾ اَلَيْسَ ذٰلِكَ بِقٰدِرٍ عَلٰٓى اَنْ يُّحْيِۦَ الْمَوْتٰى ﴿٤٠﴾
١٨

پوءِ هن نہ سچو مڃيو ۽ نہ نماز پڙهي. بلڪ ڪوڙو ڄاتائين ۽ منهن موڙيائين، پوءِ آڪڙجي پنهنجي گهروارن ڏانهن ويو، پوءِ خرابي هجي توتي، وري خرابي هجي توتي، پوءِ توتي خرابي هجي. ڇا انسان خيال ڪري ٿو تہ کيس ائين ئي ڇڏي ڏبو. ڇا اهو مني جو ڦڙو نہ هو، جيڪو ٽپڪايو ويو، پوءِ رت جو ڏڳ ٿيو، پوءِ الله (ان کي) بڻايو ۽ پوءِ ان جا عضوا درست ڪيا، پوءِ ان مان بہ جنسون نر ۽ مادي بڻايون. ڇا اهو ان تي قادر نہ آهي جو مئن کي جيئاري. ٣١-٤٠

انسان ابتدا ۾ پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ هڪ ڦڙي وانگر داخل ٿيندو آهي، پوءِ هو وڌي علقہ (رت جو ڏڳ) وانگر ٿي ويندو آهي، پوءِ ترقي ٿيندي ٿيندي ان جا عضوا ۽ شڪل ٺهندي آهي، پوءِ هو مرد يا عورت بڻجي ٻاهر ايندو آهي، اهي سڀ حيرتناڪ تبديليون انسان جي ڪوشش کان سواءِ ٿينديون آهن. پوءِ جڏهن قدرت جو نظام روزانو اهي عجائب ظهور ۾ آڻي رهيو آهي تہ ان لاءِ موجوده دنيا کان بعد هڪ ٻي دنيا ناهي وٺڻ ڪهڙو مشڪل آهي. حقيقت اها آهي تہ سچائي کي مڃڻ ۾ جيڪا شيءِ رڪاوٽ بڻبي آهي، اها ماڻهن جي انا آهي، نہ وري قرآن جي دليلن ۾ ڪا ڪمي.

اٰياتها ٣١ (٧٦) سُوْرَةُ الدَّهْرِ مَدَنِيَّةٌ (٩٨) رکوعاتها ٢

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

هَلْ اَتٰى عَلَى الْاِنْسَانِ حِيْنٌ مِّنَ الدَّهْرِ لَمْ يَكُنْ شَيْـًٔا مَّذْكُوْرًا ﴿١﴾ اِنَّا خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ
مِنْ نُّطْفَةٍ اَمْشَاجٍ ۖ نَّبْتَلِيْهِ فَجَعَلْنٰهُ سَمِيْعًۢا بَصِيْرًا ﴿٢﴾ اِنَّا هَدَيْنٰهُ السَّبِيْلَ اِمَّا شَاكِرًا
وَّ اِمَّا كَفُوْرًا ﴿٣﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

ڪڏهن انسان تي زماني ۾ هڪ وقت (اهڙو) گذري چڪو آهي جو هو ڪا قابل ذڪر شيءِ نه هو. اسان انسان کي هڪ گڏيل ڦڙي مان پيدا ڪيو ته ان کي پرکيون. پوءِ اسان ان کي ٻڌندڙ ڏسندڙ ڪيون سون. اسان کيس واٽ ڏيکاري، چاهي هو شڪر ڪندڙ ٿئي يا انڪار ڪرڻ وارو. ١-٣

---

قرآن ستين صدي عيسوي ۾ نازل ٿيو. ان وقت دنيا ۾ ڪنهن کي اها خبر نه هئي ته ماءُ جي پيٽ ۾ انسان جو آغاز هڪ گڏيل نطفي مان ٿيندو آهي. اِها صرف ويهين صدي جي ڳالهه آهي ته انسان کي اها خبر پئي ته انسان ۽ (حيوان) جو ابتدائي نطفو ٻن جزن سان ملي ٺهندو آهي. هڪ عورت جو بيضو (ovum) ۽ ٻيو مرد جو نطفو (Sperm). اهي ٻئي خوردبيني جزا جڏهن پاڻ ۾ ملندا آهن ته ان وقت ماءُ جي رحم ۾ اها شيءِ ٺهڻ شروع ٿيندي آهي جيڪا بالآخر انسان جي صورت اختيار ڪري ٿي وٺي. ڏيڍ هزار سال اڳ قرآن ۾ نطفي امشاج (گڏيل نطفو) جو لفظ اچڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته قرآن الله جو ڪتاب آهي.

قرآن ۾ اهڙي قسم جا ڪيترائي ئي مثال آهن. اهي سڀئي ڪان جدا مثال واضح طور تي قرآن کي الله جو ڪتاب ثابت ڪري رهيا آهن ۽ جڏهن اهو ثابت ٿي وڃي ته قرآن الله جو ڪتاب آهي ته ان ڪان پوءِ قرآن جي هر بيان کي درست مڃڻو پوندو.

اِنَّآ اَعۡتَدۡنَا لِلۡكٰفِرِيۡنَ سَلٰسِلَاۡ وَ اَغۡلٰلًا وَّ سَعِيۡرًا ۝٤ اِنَّ الۡاَبۡرَارَ يَشۡرَبُوۡنَ مِنۡ كَاۡسٍ كَانَ
مِزَاجُهَا كَافُوۡرًا ۝٥ عَيۡنًا يَّشۡرَبُ بِهَا عِبَادُ اللّٰهِ يُفَجِّرُوۡنَهَا تَفۡجِيۡرًا ۝٦ يُوۡفُوۡنَ بِالنَّذۡرِ وَ
يَخَافُوۡنَ يَوۡمًا كَانَ شَرُّهٗ مُسۡتَطِيۡرًا ۝٧ وَ يُطۡعِمُوۡنَ الطَّعَامَ عَلٰى حُبِّهٖ مِسۡكِيۡنًا وَّ يَتِيۡمًا وَّ
اَسِيۡرًا ۝٨ اِنَّمَا نُطۡعِمُكُمۡ لِوَجۡهِ اللّٰهِ لَا نُرِيۡدُ مِنۡكُمۡ جَزَآءً وَّ لَا شُكُوۡرًا ۝٩ اِنَّا نَخَافُ مِنۡ
رَّبِّنَا يَوۡمًا عَبُوۡسًا قَمۡطَرِيۡرًا ۝١٠ فَوَقٰهُمُ اللّٰهُ شَرَّ ذٰلِكَ الۡيَوۡمِ وَ لَقّٰهُمۡ نَضۡرَةً وَّ
سُرُوۡرًا ۝١١ وَ جَزٰهُمۡ بِمَا صَبَرُوۡا جَنَّةً وَّ حَرِيۡرًا ۝١٢ مُّتَّكِـِٕيۡنَ فِيۡهَا عَلَى الۡاَرَآئِكِ لَا
يَرَوۡنَ فِيۡهَا شَمۡسًا وَّ لَا زَمۡهَرِيۡرًا ۝١٣ وَ دَانِيَةً عَلَيۡهِمۡ ظِلٰلُهَا وَ ذُلِّلَتۡ قُطُوۡفُهَا تَذۡلِيۡلًا ۝١٤
وَ يُطَافُ عَلَيۡهِمۡ بِاٰنِيَةٍ مِّنۡ فِضَّةٍ وَّ اَكۡوَابٍ كَانَتۡ قَوَارِيۡرَا۠ ۝١٥ قَوَارِيۡرَا۠ مِنۡ فِضَّةٍ قَدَّرُوۡهَا
تَقۡدِيۡرًا ۝١٦

اسان منڪرن لاءِ زنجيرون ۽ ڳٽ ۽ ٻرندڙ باهه تيار ڪري رکي آهي. نيڪ ٻانها اهڙن پيالن مان پيئندا جن ۾ ڪافور مليل هوندو، ان چشمي مان الله جا ٻانها پيئندا ۽ انکي وهائيندا (جيڏانهن چاهيندا). اُهي ٻانها (الله جي) باس پوري ڪندا آهن ۽ اهڙي ڏينهن کان ڊڄندا آهن جنهن جي (بڇڙائي) سختي هر طرف پکڙيل هوندي ۽ ان جي محبت ۾ محتاج کي ۽ يتيم کي ۽ قيدي کي کارائيندا آهن ۽ (چوندا آهن) اسين توهان کي الله جي واسطي کارائيندا آهيون. توهان کان نه بدلو ۽ نه شڪرگذاري گهرندا آهيون. اسان پنهنجي رب طرفان هڪ سخت

ڏينهن کان ڊڄندا آهيون جيڪو تمام سخت آهي. پوءِ الله انهن کي ان ڏينهن جي سختي کان بچائي ورتو. انهن
کي تازگي ۽ خوشي عطا فرمائي ۽ سندن صبر جي بدلي ۾ انهن کي جنت ۽ ريشمي لباس عطا ڪيو. ان (باغن)
۾ تختن تي ٽيڪ ڏئي ويهندا. اتي نه گرمي ۽ نه گهٽي ٿڌ ڏسندا ۽ (باغن) جي ڇانوَ مٿن ڇانيل هوندي ۽ ان جا
ميوا سندن وس ۾ هوندا ۽ سندن آڏو چاندي جا ٿانو ۽ شيشي جي پيالن جي اچ وڃ پئي ٿيندي. شيشا چاندي
وانگر هوندا جن کي پرڻ وارن مناسب انداز ۾ پريو هوندو. ٤-١٦

---

دنيا ۾ انسان کي آزاد پيدا ڪيو ويو آهي ۽ پوءِ ان کي راهه ڏيکاري وئي. ناشڪري جي راهه ۽ شڪرگذار زندگي جي راهه. هاڻي اهو انسان جي پنهنجي مٿان آهي ته هو پنهي مان ڪهڙي راهه اختيار ڪري ٿو. جيڪو ماڻهو ناشڪري جو طريقو اختيار ڪري ته ان لاءِ آخرت ۾ دوزخ جو عذاب آهي ۽ جيڪو ماڻهو شڪر جو طريقو اختيار ڪري ته ان لاءِ جنت جون نعمتون.

وَ يُسْقَوْنَ فِيْهَا كَاْسًا كَانَ مِزَاجُهَا زَنْجَبِيْلًا ﴿١٧﴾ عَيْنًا فِيْهَا تُسَمّٰى سَلْسَبِيْلًا ﴿١٨﴾ وَ يَطُوْفُ
عَلَيْهِمْ وِلْدَانٌ مُّخَلَّدُوْنَ ۚ اِذَا رَاَيْتَهُمْ حَسِبْتَهُمْ لُؤْلُؤًا مَّنْثُوْرًا ﴿١٩﴾ وَ اِذَا رَاَيْتَ ثَمَّ
رَاَيْتَ نَعِيْمًا وَّ مُلْكًا كَبِيْرًا ﴿٢٠﴾ عٰلِيَهُمْ ثِيَابُ سُنْدُسٍ خُضْرٌ وَّ اِسْتَبْرَقٌ ۫ وَّ حُلُّوْٓا اَسَاوِرَ
مِنْ فِضَّةٍ ۚ وَ سَقٰىهُمْ رَبُّهُمْ شَرَابًا طَهُوْرًا ﴿٢١﴾ اِنَّ هٰذَا كَانَ لَكُمْ جَزَآءً وَّ كَانَ سَعْيُكُمْ
مَّشْكُوْرًا ﴿٢٢﴾ ع ۲۲ ۱۹

۽ اتي انهن کي هڪ پيو (شراب جو پيالو) پياريو ويندو جنهن ۾ سنڍ مليل هوندي. اهو اتي هڪ چشمو آهي جنهن کي سلسبيل چيو ويندو آهي ۽ انهن وٽ اهڙا نينگر پيا گهمندا ڦرندا جيڪي سدائين نينگر ئي رهندا. تون انهن کي ڏسندين ته پائيندين اهي موتي آهن، جن کي پکڙيو ويو هجي ۽ تون جيڏانهن نهاريندي اتي عظيم نعمتون ۽ عظيم بادشاهي ڏسندين. انهن جي مٿان باريڪ ريشم جا ساوا ڪپڙا هوندا ۽ ٿلهي ريشم جا ڪپڙا به ۽ چاندي جا ڪنگڻ کين پارايا ويندا ۽ سندن رب کين پاڪ شراب پياريندو. بيشڪ اهو توهان جو بدلو آهي ۽ توهان جون ڪوششون مقبول ٿيون. ١٧-٢٢

---

اهو مٿانهين جنت جو بيان آهي، جتي افضل ايمان جو ثبوت ڏيڻ وارا ماڻهو آباد ڪيا ويندا. ان جنت جي رهڻ وارن کي شاهاڻيون نعمتون حاصل هونديون.

اِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا عَلَيْكَ الْقُرْاٰنَ تَنْزِيْلًا ﴿٢٣﴾ فَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ وَ لَا تُطِعْ مِنْهُمْ اٰثِمًا اَوْ
كَفُوْرًا ﴿٢٤﴾ وَ اذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ بُكْرَةً وَّ اَصِيْلًا ﴿٢٥﴾ وَ مِنَ الَّيْلِ فَاسْجُدْ لَهٗ وَ سَبِّحْهُ لَيْلًا
طَوِيْلًا ﴿٢٦﴾ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ يُحِبُّوْنَ الْعَاجِلَةَ وَ يَذَرُوْنَ وَرَآءَهُمْ يَوْمًا ثَقِيْلًا ﴿٢٧﴾ نَحْنُ
خَلَقْنٰهُمْ وَ شَدَدْنَآ اَسْرَهُمْ ۚ وَ اِذَا شِئْنَا بَدَّلْنَآ اَمْثَالَهُمْ تَبْدِيْلًا ﴿٢٨﴾ اِنَّ هٰذِهٖ تَذْكِرَةٌ ۚ
فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيْلًا ﴿٢٩﴾ وَ مَا تَشَآءُوْنَ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا
حَكِيْمًا ﴿٣٠﴾ يُّدْخِلُ مَنْ يَّشَآءُ فِيْ رَحْمَتِهٖ ؕ وَ الظّٰلِمِيْنَ اَعَدَّ لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿٣١﴾ ع ۹ ۲۰

بيشڪ اسان توتي قرآن ٿورو ٿورو ڪري نازل ڪيو آهي، پوءِ تون پنهنجي رب جي حڪم تائين صبر ڪر ۽ انهن مان ڪنهن گنهگار ۽ بي شڪر جي ڳالهه نه مڃ ۽ پنهنجي رب جو نالو صبح ۽ شام ياد ڪر ۽ رات جو به ان کي سجدو ڪر ۽ گهڻي رات سندس تسبيح (پاڪائي بيان) ڪر. اهي ماڻهو جلدي ملڻ واري شيءِ (دنيا) کي چاهيندا آهن ۽ انهن هڪ ڳري ڏينهن کي پنهنجي پنيان ڦٽي ڪيو آهي. اسان کين پيدا ڪيو ۽ سندن سنڌ مضبوط ڪيا ۽ جڏهن اسان چاهينداسون انهن جهڙا ماڻهو سندن جاين تي مٽائي آڻينداسون. اها هڪ نصيحت آهي، پوءِ جيڪو ماڻهو چاهي سو پنهنجي رب ڏانهن واٽ وٺي ۽ توهان نه چاهيندو، پر اهو جيڪو الله چاهي. بيشڪ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. هو جنهن کي چاهي ٿو پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪري ٿو ۽ ظالمن لاءِ ان ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪري رکيو آهي. ۲۳-۳۱

حق جي دعوت کي نه مڃڻ جا ٻه خاص سبب هوندا آهن يا ته ماڻهو جي سامهون دنيا جو مفاد هوندو آهي، مفاد کان محرومي جو خوف ان کي حق ڏانهن وڌڻ نه ٿو ڏي، ٻيو سبب هي آهي ته ماڻهو تڪبر جي نفسيات ۾ مبتلا هجي ۽ ان جو تڪبر ان ۾ رڪاوٽ بڻجي وڃي ٿو ته هو پنهنجي ٻاهر جي ڪنهن وڏائي کي تسليم ڪري. اهي ٻنهي قسمن جا ماڻهو حق جي دعوت جي راهه ۾ طرح طرح جون رڪاوٽون وجهندا آهن، پر حق جي داعي کي حڪم آهي ته هو انهن جي پرواهه نه ڪندي پنهنجو ڪم صبر سان جاري رکي.

آياتها ۵۰ (۷۷) سُوْرَةُ الْمُرْسَلٰتِ مَكِّيَّةٌ (۳۳) رکوعاتها ۲

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

وَ الْمُرْسَلٰتِ عُرْفًا ۝۱ فَالْعٰصِفٰتِ عَصْفًا ۝۲ وَّ النّٰشِرٰتِ نَشْرًا ۝۳ فَالْفٰرِقٰتِ فَرْقًا ۝۴
فَالْمُلْقِيٰتِ ذِكْرًا ۝۵ عُذْرًا اَوْ نُذْرًا ۝۶ اِنَّمَا تُوْعَدُوْنَ لَوَاقِعٌ ۝۷

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

قسم آهي انهن خوشگوار گهلندڙ هوائن جو جيڪي موڪليون وينديون آهن، پوءِ زور سان لڳڻ وارين هوائن جو ۽ ڪڪرن کي ڪٽي پکيڙيندڙن هوائن جو، پوءِ (ڪڪرن کي) جدا ڪندڙن هوائن جو، پوءِ وحي آڻيندڙن ملائڪن جو، (جيڪي) عذر وڃائڻ لاءِ يا ڊيڄارڻ لاءِ (وحي) آڻيندا آهن ته جيڪو واعدو توهان کي ڏجي ٿو سو ضرور پورو ٿي رهندو. ۱-۷

سمنڊ مان ٻاڦ اڏامي مٿي فضا ۾ ويندي آهي ۽ ڪڪرن ۾ بدلجي ويندي آهي. انهن ڪڪرن کي هوائون اڏاري هڪ پاسي کان ٻي پاسي وٺي وينديون آهن. اُهي هڪ علائقي ۾ مينهن وسائي ان کي سرسبز ڪنديون آهن ۽ ٻي علائقي کي خشڪ ڇڏي ڏينديون آهن. ان مان خبر پئي ٿي ته هن دنيا جو نظام هڪ ۽ ٻئي جي وچ ۾ فرق ڪرڻ جي اصول تي قائم آهي. موجوده دنيا ۾ ان اصول جو اظهار جزئي صورت ۾ ٿي رهيو آهي ۽ آخرت ۾ ان اصول جو اظهار پنهنجي ڪامل صورت ۾ ٿيندو.

هوائن جي اها نوعيت ماڻهو لاءِ نصيحت آهي. ان جو ڪنهن جي لاءِ رحمت ۽ ڪنهن جي لاءِ مصيبت بڻجڻ ان حقيقت جي يادگيري آهي ته موجوده دنيا ۾ جڏهن به مختلف قسم جا انسان آهن ته انهن لاءِ الله جو فيصلو به ڀن الڳ الڳ صورتن ۾ ظاهر ٿيندو. پوءِ هوائن جي اها نوعيت الله طرفان حجت به آهي. ان مظاهري کان پوءِ ڪنهن جي لاءِ عذر جي ڪا گنجائش نه آهي.

فَاِذَا النُّجُوْمُ طُمِسَتْ ﴿٨﴾ وَاِذَا السَّمَآءُ فُرِجَتْ ﴿٩﴾ وَاِذَا الْجِبَالُ نُسِفَتْ ﴿١٠﴾ وَاِذَا الرُّسُلُ
اُقِّتَتْ ﴿١١﴾ لِاَيِّ يَوْمٍ اُجِّلَتْ ﴿١٢﴾ لِيَوْمِ الْفَصْلِ ﴿١٣﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا يَوْمُ الْفَصْلِ ﴿١٤﴾ وَيْلٌ
يَّوْمَىِٕذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿١٥﴾ اَلَمْ نُهْلِكِ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٦﴾ ثُمَّ نُتْبِعُهُمُ الْاٰخِرِيْنَ ﴿١٧﴾ كَذٰلِكَ نَفْعَلُ
بِالْمُجْرِمِيْنَ ﴿١٨﴾ وَيْلٌ يَّوْمَىِٕذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿١٩﴾

پوءِ جڏهن تارا بي نور ٿي ويندا ۽ جڏهن آسمان ڦاٽي پوندو ۽ جڏهن جبل ذرا ذرا ڪيا ويندا ۽ جڏهن پيغمبر مقرر وقت تي گڏ ڪيا ويندا (پيغمبرن کي) ڪهڙي ڏينهن لاءِ ترسايو ويو فيصلي جي ڏينهن لاءِ ۽ توکي ڪهڙي خبر ته فيصلي جو ڏينهن ڇا آهي. تباهي آهي ان ڏينهن ڪوڙ پائيندڙن لاءِ. ڇا اسان اڳين کي هلاڪ نه ڪيو. پوءِ اسان وري پوئين کي انهن جي پٺيان آڻيندا آهيون. اسان ڏوهارين سان ايئن ئي ڪندا آهيون. خرابي آهي ان ڏينهن ڪوڙ پائيندڙ لاءِ . ٨-١٩

جڏهن قيامت ايندي ته موجوده دنيا جو نظام ختم ٿي ويندو. جيڪي ماڻهو موجوده دنيا ۾ پاڻ کي زورآور سمجهندا آهن ۽ ان ڪري حق جي دعوت کي نظرانداز ڪندا آهن. اهي انهيءَ ڏينهن پاڻ کي ان حال ۾ ڏسندا ته انهن کان وڌيڪ ڪمزور ٻيو ڪير به نه آهي.

اَلَمْ نَخْلُقْكُّمْ مِّنْ مَّآءٍ مَّهِيْنٍ ﴿٢٠﴾ فَجَعَلْنٰهُ فِيْ قَرَارٍ مَّكِيْنٍ ﴿٢١﴾ اِلٰى قَدَرٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿٢٢﴾
فَقَدَرْنَا ۖ فَنِعْمَ الْقٰدِرُوْنَ ﴿٢٣﴾ وَيْلٌ يَّوْمَىِٕذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٢٤﴾ اَلَمْ نَجْعَلِ الْاَرْضَ كِفَاتًا ﴿٢٥﴾
اَحْيَآءً وَّ اَمْوَاتًا ﴿٢٦﴾ وَّ جَعَلْنَا فِيْهَا رَوَاسِيَ شٰمِخٰتٍ وَّ اَسْقَيْنٰكُمْ مَّآءً فُرَاتًا ﴿٢٧﴾ وَيْلٌ
يَّوْمَىِٕذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٢٨﴾

ڇا اسان توهان کي خسيس پاڻي مان نه پيدا ڪيو. پوءِ ان کي هڪ محفوظ هنڌ تي رکيو. هڪ مقرر وقت تائين. پوءِ اسان هڪ اندازي موجب رکيو. اسان ڪهڙو نه چڱو اندازو مقرر ڪرڻ وارا آهيون. خرابي آهي ان ڏينهن ڪوڙ پائيندڙ لاءِ. ڇا اسان زمين کي سميٽڻ وارو نه بڻايو جيئرن لاءِ ۽ مئلن لاءِ به ۽ اسان ان ۾ اوچا جبل بڻايا ۽ توهان کي مِٺو پاڻي پياريو. ان ڏينهن خرابي آهي ڪوڙ پائيندڙ لاءِ . ٢٠-٢٨

موجوده دنيا جو نظام اهڙي طرح بڻايو ويو آهي جو ان تي غور ڪرڻ وارو ان جي آئيني ۾ آخرت کي ڏسي وٺي. ان جي باوجود جيڪي ماڻهو حق کي ڪوڙو پائئين ته انهن کان وڌو مجرم ٻيو ڪير به نه آهي.

اِنْطَلِقُوْۤا اِلٰى مَا كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ ﴿٢٩﴾ اِنْطَلِقُوْۤا اِلٰى ظِلٍّ ذِىْ ثَلٰثِ شُعَبٍ ﴿٣٠﴾ لَّا ظَلِيْلٍ وَّ لَا
يُغْنِىْ مِنَ اللَّهَبِ ﴿٣١﴾ اِنَّهَا تَرْمِىْ بِشَرَرٍ كَالْقَصْرِ ﴿٣٢﴾ كَاَنَّهٗ جِمٰلَتٌ صُفْرٌ ﴿٣٣﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ
لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٣٤﴾ هٰذَا يَوْمُ لَا يَنْطِقُوْنَ ﴿٣٥﴾ وَ لَا يُؤْذَنُ لَهُمْ فَيَعْتَذِرُوْنَ ﴿٣٦﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ
لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٣٧﴾ هٰذَا يَوْمُ الْفَصْلِ ۚ جَمَعْنٰكُمْ وَ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٣٨﴾ فَاِنْ كَانَ لَكُمْ كَيْدٌ
فَكِيْدُوْنِ ﴿٣٩﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٤٠﴾ ع ١ ٢١

هلو ان شيءِ ڏانهن جنهن کي توهان ڪوڙو ڀائيندا هئا. هلو ٽن شاخن واري ڇانو ڏانهن جنهن ۾ نہ (ٿڌي) ڇانو آهي ۽ نہ اها گرمي کان بچائي ٿي، اها (باهہ) ماڙي جيڏيون چڻگيون اڇلائيندي آهي ڄڻ تہ هيڊا اٺ آهن. ان ڏينهن خرابي آهي ڪوڙ ڀائيندڙن لاءِ. هي اهو ڏينهن آهي جنهن ۾ ماڻهو ڳالهائي نہ سگهندا ۽ نہ کين اجازت هوندي جو هو عذر پيش ڪن، خرابي آهي ان ڏينهن ڪوڙ ڀائيندڙن لاءِ. هي فيصلي جو ڏينهن آهي اسان توهان کي ۽ اڳين ماڻهن کي گڏ ڪري ورتو، پوءِ جيڪڏهن توهان کي بچڙي رٿ ڪرڻي آهي تہ مون تي رٿيو، خرابي آهي ان ڏينهن ڪوڙ ڀائيندڙن لاءِ. ٢٩-٤٠

---

آخرت جي دهشت ۽ هيبتون جڏهن سامهون اينديون تہ انسان انهن جي مقابلي ۾ پاڻ کي بلڪل بيوس ڏسندو. ان وقت انهن ماڻهن جو ڳالهائڻ بند ٿي ويندو، جيڪي دنيا ۾ اهڙي طرح ڳالهائيندا هئا تہ ڄڻ انهن وٽ ڳالهين جو ذخيرو ڪڏهن ختم ٿيڻ وارو ئي نہ آهي.

اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ ظِلٰلٍ وَّ عُيُوْنٍ ﴿٤١﴾ وَّ فَوَاكِهَ مِمَّا يَشْتَهُوْنَ ﴿٤٢﴾ كُلُوْا وَ اشْرَبُوْا هَنِيْٓـًٔا بِمَا
كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٤٣﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٤٤﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٤٥﴾ كُلُوْا وَ
تَمَتَّعُوْا قَلِيْلًا اِنَّكُمْ مُّجْرِمُوْنَ ﴿٤٦﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٤٧﴾ وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمُ ارْكَعُوْا لَا
يَرْكَعُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٤٩﴾ فَبِاَيِّ حَدِيْثٍۭ بَعْدَهٗ يُؤْمِنُوْنَ ﴿٥٠﴾ ع ٢ ٢٢

بيشڪ ڊڄڻ وارا ڇانو ۾ ۽ چشمن ۾ هوندا ۽ ميون مان جيڪي هو چاهيندا. مزي سان کائو ۽ پيئو ان عمل جي بدلي ۾ جيڪي توهان ڪندا هئا. اسان نيڪ ماڻهن کي اهڙو ئي بدلو ڏيندا آهيون. خرابي آهي ان ڏينهن ڪوڙ ڀائيندڙن لاءِ. ڪي ٿورا ڏينهن ڪائو ۽ مزا وٺو. بيشڪ توهان گنهگار آهيو. خرابي آهي ان ڏينهن ڪوڙ ڀائيندڙن لاءِ ۽ جڏهن کين چيو ويندو هو تہ جهڪو تہ اهي نہ جهڪندا هئا. خرابي آهي ان ڏينهن ڪوڙ ڀائيندڙن لاءِ. هاڻي ان (قرآن) کان پوءِ هو ڪهڙي ڳالهہ تي ايمان آڻيندا. ٤١-٥٠

---

موجوده دنيا ۾ الله جون نعمتون وقتي طور تي امتحان جي لاءِ رکيون ويون آهن. آخرت ۾ الله جون نعمتون ابدي طور تي ۽ ڪامل صورت ۾ ظاهر ٿينديون. اڄ انهن نعمتن ۾ هر ڪو حصو حاصل ڪري رهيو آهي. پر آخرت جون اعليٰ نعمتون صرف انهن ماڻهن جي حصي ۾ اينديون جن آزادي جي حالت ۾ اطاعت ڪئي، جيڪي ان وقت جهڪيا جڏهن اهي جهڪڻ تي مجبور نہ هئا. جيڪي ماڻهو جهڪڻ جي قول تي جهڪن، انهن لاءِ جنت آهي ۽ جيڪي ماڻهو ويل کي ڏسي جهڪن، انهن لاءِ جهنم آهي.

(٧٨) سُوْرَةُ النَّبَاِ مَكِّيَّةٌ (٨٠)

اٰياتها ٤٠ رکوعاتها ٢

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الجزء الثلاثون ٣٠

عَمَّ يَتَسَآءَلُوْنَ ۚ﴿١﴾ عَنِ النَّبَاِ الْعَظِيْمِ ۙ﴿٢﴾ الَّذِيْ هُمْ فِيْهِ مُخْتَلِفُوْنَ ؕ﴿٣﴾ كَلَّا سَيَعْلَمُوْنَ ۙ﴿٤﴾
ثُمَّ كَلَّا سَيَعْلَمُوْنَ ﴿٥﴾ اَلَمْ نَجْعَلِ الْاَرْضَ مِهٰدًا ۙ﴿٦﴾ وَّ الْجِبَالَ اَوْتَادًا ۪ۙ﴿٧﴾ وَّ خَلَقْنٰكُمْ
اَزْوَاجًا ۙ﴿٨﴾ وَّ جَعَلْنَا نَوْمَكُمْ سُبَاتًا ۙ﴿٩﴾ وَّ جَعَلْنَا الَّيْلَ لِبَاسًا ۙ﴿١٠﴾ وَّ جَعَلْنَا النَّهَارَ مَعَاشًا ۪﴿١١﴾ وَّ
بَنَيْنَا فَوْقَكُمْ سَبْعًا شِدَادًا ۙ﴿١٢﴾ وَّ جَعَلْنَا سِرَاجًا وَّهَّاجًا ۪ۙ﴿١٣﴾ وَّ اَنْزَلْنَا مِنَ الْمُعْصِرٰتِ مَآءً
ثَجَّاجًا ۙ﴿١٤﴾ لِّنُخْرِجَ بِهٖ حَبًّا وَّ نَبَاتًا ۙ﴿١٥﴾ وَّ جَنّٰتٍ اَلْفَافًا ؕ﴿١٦﴾ اِنَّ يَوْمَ الْفَصْلِ كَانَ مِيْقَاتًا ۙ﴿١٧﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

ماڻهو ڪهڙي ڳالهه جي باري ۾ پڇي رهيا آهن. ان وڏي خبر جي باري ۾ جنهن ۾ اهي (پاڻ ۾) مختلف آهن. هرگز نه. سگهوئي اهي ڄاڻندا، هرگز نه. سگهوئي اهي ڄاڻندا. ڇا اسان زمين کي فرش نه بڻايو ۽ جبلن کي ميخون ۽ توهان کي جوڙو جوڙو بڻايو ۽ ننڊ کي توهان جي ٿڪ لاهڻ لاءِ بڻايو ۽ اسان رات کي ڍڪ بڻايو ۽ اسان ڏينهن کي معاش (گذراڻ) جو وقت بڻايو ۽ اسان توهان جي مٿان ست مضبوط آسمان بڻايا ۽ اسان ان ۾ هڪ چمڪندڙ ڏيئو رکيو ۽ اسان پاڻي مان ڀريل ڪڪرن سان پاڻي وسايو ته جيئن اسان ان سان اناج ۽ سلا ۽ گهاٽا باغ ڄمايون. بيشڪ فيصلي جو ڏينهن هڪ مقرر مهل آهي. ١-١٧

---

عربستان جا ماڻهو آخرت جا منڪر نه هئا. البته اهي آخرت جي ان نوعيت جا منڪر هئا جنهن جي انهن کي قرآن ۾ خبر ڏني پئي ويئي. يعني انهن کي ان ۾ شڪ هو ته ”محمد ﷺ“ کي نه مڃڻ جي ڪري اُهي آخرت ۾ ذليل ۽ خوار ٿيندا.

موجوده دنيا ۾ جيڪي طبعي واقعا آهن، اهي آخرت جي ڏينهن ڏانهن اشارو ڪرڻ وارا آهن. اسان جي دنيا جو حال تقاضو ڪري ٿو ته ان حال جي مطابق ان جو ڪو مستقبل به هجي، ان پهلو تي غور ڪيو وڃي ته اهو معلوم ٿئي ٿو ته هن عظيم آغاز جو هڪ عظيم انجام به ٿيڻ وارو آهي. هي دنيا ايئن ئي بغير ڪنهن انجام جي ختم ٿيڻ واري نه آهي.

يَّوْمَ يُنْفَخُ فِي الصُّوْرِ فَتَاْتُوْنَ اَفْوَاجًا ۙ﴿١٨﴾ وَّ فُتِحَتِ السَّمَآءُ فَكَانَتْ اَبْوَابًا ۙ﴿١٩﴾ وَّ سُيِّرَتِ
الْجِبَالُ فَكَانَتْ سَرَابًا ؕ﴿٢٠﴾ اِنَّ جَهَنَّمَ كَانَتْ مِرْصَادًا ۪ۙ﴿٢١﴾ لِّلطّٰغِيْنَ مَاٰبًا ۙ﴿٢٢﴾ لّٰبِثِيْنَ فِيْهَآ
اَحْقَابًا ۚ﴿٢٣﴾ لَا يَذُوْقُوْنَ فِيْهَا بَرْدًا وَّ لَا شَرَابًا ۙ﴿٢٤﴾ اِلَّا حَمِيْمًا وَّ غَسَّاقًا ۙ﴿٢٥﴾ جَزَآءً وِّفَاقًا ؕ﴿٢٦﴾
اِنَّهُمْ كَانُوْا لَا يَرْجُوْنَ حِسَابًا ۙ﴿٢٧﴾ وَّ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا كِذَّابًا ؕ﴿٢٨﴾ وَ كُلَّ شَيْءٍ اَحْصَيْنٰهُ كِتٰبًا ۙ﴿٢٩﴾
ع ١ فَذُوْقُوْا فَلَنْ نَّزِيْدَكُمْ اِلَّا عَذَابًا ﴿٣٠﴾

جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪيو ويندو، پوءِ توهان ٽوليون ٽوليون ٿي ايندؤ ۽ آسمان کوليو ويندو، پوءِ ان ۾ دروازا ٿي ويندا ۽ جبل هلايا ويندا تہ اُهي رُڃ وانگر ٿي ويندا. بيشڪ دوزخ انتظار ۾ آهي. هٽيلن جي رهڻ جو هنڌ. ان ۾ اهي ڏگهيون مدتون پيا هوندا. ان ۾ اهي نہ ٿڌائي کي چکندا ۽ نہ پيئڻ جي ڪا شيءِ. پر ٽهڪندڙ پاڻي ۽ ڦٽن جي پونءِ (روڳ) (اهو سندن) پورو پورو بدلو آهي. اهي حساب جي اميد نہ رکندا هئا ۽ انهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڀانئيو ۽ اسان هر شيءِ کي لکي ڳڻي رکيو آهي. پوءِ چکو اهڙو عذاب جيڪو اسان وڌائيندا ويندا سون. ١٨-٣٠

---

دنيا ۾ سرڪشي انسان کي گهڻو مزو ڏيندي آهي. ڇاڪاڻ تہ اها سندس انا کي تسڪين ڏيندي آهي. پر انسان جي سرڪشي جڏهن آخرت ۾ پنهنجي اصل حقيقت جي لحاظ کان ظاهر ٿيندي تہ صورتحال بلڪل مختلف ٿي ويندي. جنهن شيءِ مان ماڻهو دنيا ۾ لذت وٺي رهيو هو، هاڻي اها ان لاءِ هڪ دهشتناڪ عذاب بڻجي ويندي.

اِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ مَفَازًا ۝٣١ حَدَآئِقَ وَ اَعْنَابًا ۝٣٢ وَّ كَوَاعِبَ اَتْرَابًا ۝٣٣ وَّ كَاْسًا دِهَاقًا ۝٣٤ لَا
يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا وَّ لَا كِذّٰبًا ۝٣٥ جَزَآءً مِّنْ رَّبِّكَ عَطَآءً حِسَابًا ۝٣٦ رَّبِّ السَّمٰوٰتِ وَ
الْاَرْضِ وَ مَا بَيْنَهُمَا الرَّحْمٰنِ لَا يَمْلِكُوْنَ مِنْهُ خِطَابًا ۝٣٧ يَوْمَ يَقُوْمُ الرُّوْحُ وَ الْمَلٰٓئِكَةُ
صَفًّا ۙ لَّا يَتَكَلَّمُوْنَ اِلَّا مَنْ اَذِنَ لَهُ الرَّحْمٰنُ وَ قَالَ صَوَابًا ۝٣٨ ذٰلِكَ الْيَوْمُ الْحَقُّ ۚ فَمَنْ
شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ مَاٰبًا ۝٣٩ اِنَّآ اَنْذَرْنٰكُمْ عَذَابًا قَرِيْبًا ۚۖ يَّوْمَ يَنْظُرُ الْمَرْءُ مَا قَدَّمَتْ
يَدٰهُ وَ يَقُوْلُ الْكٰفِرُ يٰلَيْتَنِيْ كُنْتُ تُرٰبًا ۝٤٠ ع

بيشڪ ڊڄڻ وارن لاءِ ڪاميابي آهي. باغ ۽ انگور ۽ هم عمر نوجوان زالون ۽ شراب جا ڇلڪندڙ پيالا. اتي اهي نڪا اجائي ۽ نہ ڪوڙي ڳالهہ ٻڌندا. (اهو) بدلو تنهنجي رب طرفان هوندو سندن عملن جي حساب سان رحمان جي طرفان، جيڪو آسمانن ۽ زمين انهن جي وچ جي شين جو رب آهي، ڪو طاقت نہ ٿو رکي جو ان جي اڳيان ڳالهہ ڪري، جنهن ڏينهن روح ۽ فرشتا صفون ٻڌي بيهندا، ڪو بہ نہ ڳالهائيندو، پر جنهن کي رحمان اجازت ڏي ۽ هو صحيح ڳالهہ ڪري. اهو ڏينهن برحق آهي، تنهن ڪري جيڪو چاهي پنهنجي رب ڏانهن ماڳ ٺاهي. اسان توهان کي ويجهي عذاب کان ديڄاري ڇڏيو آهي، جنهن ڏينهن ماڻهو ان کي ڏسندو جيڪو سندس هٿن اڳيان موڪليو آهي ۽ منڪر چوندو ڪاش! آئون مٽي هجان ها. ٣١-٤٠

---

جنت جو ماحول اجاين ۽ ڪوڙين ڳالهين کان پاڪ هوندو. ان ڪري جنت جي لطيف ۽ نفيس دنيا ۾ آباد ڪرڻ لاءِ صرف اهي ماڻهو چونڊيا ويندا، جن موجوده دنيا ۾ ان اهليت جو ثبوت ڏنو جو اُهي اجاين ۽ ڪوڙين ڳالهين کان پري رهي ڪري زندگي گذارڻ جو ذوق رکندا آهن.

اٰياتها ٤٦ (٧٩) سُوْرَةُ النّٰزِعٰتِ مَكِّيَّةٌ (٨١) رکوعاتها ٢

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

وَ النّٰزِعٰتِ غَرْقًا ﴿١﴾ وَّ النّٰشِطٰتِ نَشْطًا ﴿٢﴾ وَّ السّٰبِحٰتِ سَبْحًا ﴿٣﴾ فَالسّٰبِقٰتِ سَبْقًا ﴿٤﴾
وقف لازم فَالْمُدَبِّرٰتِ اَمْرًا ﴿٥﴾ يَوْمَ تَرْجُفُ الرَّاجِفَةُ ﴿٦﴾ تَتْبَعُهَا الرَّادِفَةُ ﴿٧﴾ قُلُوْبٌ يَّوْمَئِذٍ
وقف لازم وَّاجِفَةٌ ﴿٨﴾ اَبْصَارُهَا خَاشِعَةٌ ﴿٩﴾ يَقُوْلُوْنَ ءَاِنَّا لَمَرْدُوْدُوْنَ فِي الْحَافِرَةِ ﴿١٠﴾ ءَاِذَا كُنَّا
وقف لازم عِظَامًا نَّخِرَةً ﴿١١﴾ قَالُوْا تِلْكَ اِذًا كَرَّةٌ خَاسِرَةٌ ﴿١٢﴾ فَاِنَّمَا هِيَ زَجْرَةٌ وَّاحِدَةٌ ﴿١٣﴾ فَاِذَا هُمْ
بِالسَّاهِرَةِ ﴿١٤﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

قسم آهي اندر گهڙي ڇڪي آڻيندڙن جو ۽ قسم آهي ڪولي آساني سان ڳنڍ ڇوڙيندڙن جو ۽ قسم آهي تيز ترندڙن جو. پوءِ اڳرائي ڪندڙن جو. پوءِ ڪمن جي تدبير ڪندڙن جو. جنهن ڏينهن ڏبڻ واري ڏبندي، ان جي پنيان لنگهندڙ (ٻيو لوڏو) پنيان لڳندو ڪيترين ئي دليون انهيءَ ڏينهن ڏڪنديون هونديون. سندن اکيون جهڪي رهيون هونديون. اهي چوندا آهن ڇا اسين پوئين حالت ۾ وري موٽايا ويندا سون، ڇا جڏهن اسان ڳريل هڏا ٿي وينداسون. انهن چيو اهو موٽڻ وڏي گهاٽي وارو هوندو. اها تہ رڳو هڪ سخت هڪل هوندي، پوءِ اتي جو اتي اُهي هڪ ميدان ۾ حاضر ٿيل هوندا. ١-١٤

---

هر سال دنيا ۾ اهو منظر ڏسڻ ۾ ايندو آهي تہ هر طرف سڪون هوندو آهي. ان ڪان پوءِ تيز هوائون هلنديون آهن. اهي ڪڪرن کي ڪٽنديون آهن، پوءِ مينهن وسندو آهي. جلد ئي ماٿهو ڏسندا آهن تہ جتي خالي زمين هئي اتي هڪ سرسبز نئين دنيا پيدا ٿي وئي، فطرت جو اهو واقعو آخرت جي امڪان کي ٻڌائي رهيو آهي. اهو مثال جي زبان ۾ ٻڌائي رهيو آهي تہ موجوده دنيا جي اندر مان آخرت جي دنيا جو ظاهر ٿيڻ ايترو ئي ممڪن آهي، جيترو خالي زمين مان سرسبز زمين جو ظهور ۾ اچڻ.

وقف لازم هَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ مُوْسٰى ﴿١٥﴾ اِذْ نَادٰىهُ رَبُّهٗ بِالْوَادِ الْمُقَدَّسِ طُوًى ﴿١٦﴾ اِذْهَبْ اِلٰى فِرْعَوْنَ
اِنَّهٗ طَغٰى ﴿١٧﴾ فَقُلْ هَلْ لَّكَ اِلٰى اَنْ تَزَكّٰى ﴿١٨﴾ وَاَهْدِيَكَ اِلٰى رَبِّكَ فَتَخْشٰى ﴿١٩﴾ فَاَرٰىهُ الْاٰيَةَ
الْكُبْرٰى ﴿٢٠﴾ فَكَذَّبَ وَعَصٰى ﴿٢١﴾ ثُمَّ اَدْبَرَ يَسْعٰى ﴿٢٢﴾ فَحَشَرَ فَنَادٰى ﴿٢٣﴾ فَقَالَ اَنَا رَبُّكُمُ
ع ٣٦ الْاَعْلٰى ﴿٢٤﴾ فَاَخَذَهُ اللّٰهُ نَكَالَ الْاٰخِرَةِ وَالْاُوْلٰى ﴿٢٥﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّمَنْ يَّخْشٰى ﴿٢٦﴾

ڇا توکي موسيٰ عليه السلام جي ڳالهه پهتي آهي. جڏهن سندس رب هن کي طويٰ جي مقدس وادي ۾ سڏيو. فرعون ڏانهن وڃ هو سرڪش ٿي ويو آهي، پوءِ ان کي چئو ڇا توکي ان جي خواهش آهي تہ تون سڌري وڃي ۽ آئون توکي تنهنجي رب ڏانهن رستو ڏيکاريان، پوءِ تون ڊڄين. پوءِ موسيٰ عليه السلام ان کي وڏي نشاني ڏيکاري، پوءِ ان

ڪوڙ ڄاتو ۽ نہ مڃيائين. پوءِ هو پنيرو ٿي هليو ۽ ڪوشش ۾ لڳو. پوءِ هن گڏ ڪيو. پوءِ هن سڏيو. پوءِ ان چيو آئون توهان جو سڀ کان وڏو رب آهيان. پوءِ الله ان کي آخرت ۽ دنيا جي عذاب ۾ پڪڙيو. بيشڪ ان ۾ نصيحت آهي هر ان ماڻهو لاءِ جيڪو ڊڄي. ١٥-٢٦

---

فرعون ۽ اهڙي قسم جي ٻين منڪرن جي زندگي ان ڳالهه جو ثبوت آهي تہ جيڪو ماڻهو حقيقت جو انڪار ڪندو، اهو لازمي ان جي سزا لهندو. اهي تاريخي مثال ماڻهو جي عبرت لاءِ ڪافي آهن. پر ڪا عبرت جي ڳالهه صرف ان ماڻهو لاءِ عبرت جو ذريعو بڻجي ٿي، جيڪو خوف جي نفسيات رکندو هجي. جيڪو ڪنهن بہ عمل کي ان جي انجام جي لحاظ کان ڏسي، نہ وري ان جي آغاز جي لحاظ کان.

ءَاَنْتُمْ اَشَدُّ خَلْقًا اَمِ السَّمَآءُ ؕ بَنٰهَا ﴿٢٧﴾ رَفَعَ سَمْكَهَا فَسَوّٰهَا ﴿٢٨﴾ وَ اَغْطَشَ لَيْلَهَا وَ
اَخْرَجَ ضُحٰهَا ﴿٢٩﴾ وَ الْاَرْضَ بَعْدَ ذٰلِكَ دَحٰهَا ﴿٣٠﴾ اَخْرَجَ مِنْهَا مَآءَهَا وَ مَرْعٰهَا ﴿٣١﴾ وَ
الْجِبَالَ اَرْسٰهَا ﴿٣٢﴾ مَتَاعًا لَّكُمْ وَ لِاَنْعَامِكُمْ ﴿٣٣﴾

ڇا توهان کي بڻائڻ وڌيڪ مشڪل آهي يا آسمان، جنهن کي الله بڻايو. ان جي ڇت کي بلند ڪيائين، پوءِ ان کي درست بڻايو ۽ ان جي رات کي اونداهو بڻايو ۽ ان جو سوجهرو پڌرو ڪيائين ۽ ان کان پوءِ زمين کي وڇايائين. ان مان سندس پاڻي ۽ گاهہ ڪڍيائين ۽ جبلن کي قائم ڪيائين زندگي جي سامان طور توهان لاءِ ۽ توهان جي ڍورن لاءِ. ٢٧-٣٣

---

ڪائنات جي صورت ۾ جيڪو واقعو اسان جي سامهون موجود آهي. اهو ايترو وڏو آهي جو ان کان پوءِ هر ٻيو واقعو ان کان ننڍو ٿي ويندو آهي، پوءِ جنهن دنيا ۾ وڏي واقعي جو ظهور ممڪن هجي، اتي ننڍي واقعي جو ظهور ڇو ممڪن نہ هوندو. اهڙي حالت ۾ قرآن جي اها خبر تہ انسان کي ٻيهر پيدا ٿيڻو آهي، هڪ اهڙي خبر آهي جنهن کي سمجهائڻ لاءِ اڳ ۾ ئي وڏي پيماني تي معلوم اسباب ۽ دليل موجود آهن.

فَاِذَا جَآءَتِ الطَّآمَّةُ الْكُبْرٰى ﴿٣٤﴾ يَوْمَ يَتَذَكَّرُ الْاِنْسَانُ مَا سَعٰى ﴿٣٥﴾ وَ بُرِّزَتِ الْجَحِيْمُ
لِمَنْ يَّرٰى ﴿٣٦﴾ فَاَمَّا مَنْ طَغٰى ﴿٣٧﴾ وَ اٰثَرَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ﴿٣٨﴾ فَاِنَّ الْجَحِيْمَ هِيَ الْمَاْوٰى ﴿٣٩﴾ وَ اَمَّا
مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَ نَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى ﴿٤٠﴾ فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِيَ الْمَاْوٰى ﴿٤١﴾ يَسْـَٔلُوْنَكَ
عَنِ السَّاعَةِ اَيَّانَ مُرْسٰهَا ﴿٤٢﴾ فِيْمَ اَنْتَ مِنْ ذِكْرٰىهَا ﴿٤٣﴾ اِلٰى رَبِّكَ مُنْتَهٰهَا ﴿٤٤﴾ اِنَّمَآ اَنْتَ
ع٢ مُنْذِرُ مَنْ يَّخْشٰىهَا ﴿٤٥﴾ كَاَنَّهُمْ يَوْمَ يَرَوْنَهَا لَمْ يَلْبَثُوْٓا اِلَّا عَشِيَّةً اَوْ ضُحٰىهَا ﴿٤٦﴾

پوءِ جڏهن اهو وڏو هنگامو ايندو. ان ڏينهن انسان اهو ياد ڪندو جيڪي (دنيا ۾) ڪمايو هو ۽ ڏسڻ وارن لاءِ دوزخ کي ظاهر ڪيو ويندو. پوءِ جنهن سرڪشي ڪئي ۽ دنيا جي زندگي کي ترجيح ڏني هوندي تنهن جي جاءِ دوزخ آهي ۽ جيڪو ماڻهو پنهنجي رب جي آڏو بيهڻ کان ڊنو ۽ نفس کي خواهش کان جهليو تہ ان جي جاءِ جنت آهي. اُهي توکان قيامت بابت پڇندا آهن تہ ان جو ٿيڻ ڪڏهن آهي. تنهنجو ان جي بيان ڪرڻ ۾ ڪهڙو واسطو. ان

جي پچاڙي (جي خبر) تنهنجي رب وٽ آهي. تون ته رڳو ڊيڄارڻ وارو آهين ان شخص کي جيڪو ڊڄي، جنهن ڏينهن اهي ان کي ڏسندا (ايئن پائيندا) ڄڻ اهي دنيا ۾ رهيا ئي نه هئا، پر هڪ شام يا ان جي صبح. ٣٣-٤٦

ماڻهو ٻن شين جي وچ ۾ آهي هڪ موجوده دنيا جيڪا سامهون آهي ۽ ٻي آخرت جي دنيا جيڪا غيب ۾ آهي، ماڻهو جو اصل امتحان اهو آهي جو هو موجوده دنيا جي مقابلي ۾ آخرت کي ترجيح ڏي پر اهو ڪم صرف اهي ماڻهو ڪري ٿا سگهن جيڪي پنهنجن نفس جي خواهشن تي ڪنٽرول ڪرڻ جو حوصلو رکندا هجن.

اٰياتها ٤٢ (٨٠) سُوْرَةُ عَبَسَ مَكِّيَّةٌ (٢٤) رکوعاتها ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

عَبَسَ وَ تَوَلّٰىٓ ۙ اَنْ جَآءَهُ الْاَعْمٰى ۭ وَ مَا يُدْرِيْكَ لَعَلَّهٗ يَزَّكّٰىٓ ۙ اَوْ يَذَّكَّرُ فَتَنْفَعَهُ
الذِّكْرٰى ۭ اَمَّا مَنِ اسْتَغْنٰى ۙ فَاَنْتَ لَهٗ تَصَدّٰى ۭ وَ مَا عَلَيْكَ اَلَّا يَزَّكّٰى ۭ وَ اَمَّا مَنْ
جَآءَكَ يَسْعٰى ۙ وَ هُوَ يَخْشٰى ۙ فَاَنْتَ عَنْهُ تَلَهّٰى ۚ كَلَّآ اِنَّهَا تَذْكِرَةٌ ۚ فَمَنْ شَآءَ
ذَكَرَهٗ ۘ فِيْ صُحُفٍ مُّكَرَّمَةٍ ۙ مَّرْفُوْعَةٍ مُّطَهَّرَةٍۭ ۙ بِاَيْدِيْ سَفَرَةٍ ۙ كِرَامٍۭ بَرَرَةٍ ۭ

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

منهن ۾ گهنڊ وڌائين ۽ منهن موڙيائين، ان ڪري جو نابين ان وٽ آيو ۽ توکي ڪهڙي خبر ته هو سُڌري وڃي يا نصيحت کي ٻڌي ته نصيحت ڪيس نفعو ڏي. جيڪو ماڻهو بيپرواهي ڪري ٿو تون ان جي فڪر ۾ آهين، حالانڪ توتي ڪا ذميواري نه آهي، جيڪڏهن هو نه سڌري ۽ جيڪو ماڻهو تو وٽ ڊوڙندو اچي ٿو ۽ اُهو ڊڄي (به) ٿو ته تون ان کان بي پرواهه ٿئين ٿو. هرگز نه. اها ته هڪ نصيحت آهي، پوءِ جيڪو چاهي نصيحت کي حاصل ڪري. اها اهڙن تعظيم وارن ورقن ۾ (لکيل) آهي جيڪي مٿانهان (۽) پاڪ آهن ۽ اهڙن لکندڙن جي هٿ ۾ آهن جيڪي سڳورا (۽) ڀلارا آهن. ١-١٦

رسول اللهﷺ هڪ دفعو مڪي ۾ قريش جي سردارن سان دعوتي گفتگو ڪري رهيا هئا، ايتري ۾ هڪ نابينا مسلمان عبدالله بن ام مڪتوم اتي آيو. هن چيو يارسول الله عَلمني مما علمك الله (اي الله جا رسول! الله جيڪو ڪجھ توهان کي سيکاريو آهي ان مان مون کي سيکار). رسول اللهﷺ کي اهڙي موقعي تي هڪ نابين ماڻهو جو اچڻ ناگوار ٿيو. ان تي اهي آيتون نازل ٿيون. هنن آيتن ۾ بظاهر خطاب رسول اللهﷺ سان آهي، پر حقيقت ۾ ان واقعي جي حوالي سان ٻڌايو ويو آهي ته الله جي نظر ۾ انهن وڏن ماڻهن جي ڪا قيمت نه آهي جيڪي دين کان ڦريل هجن. الله وٽ قيمتي انسان رڳو اهو آهي جنهن جي اندر خشيت واري روح هجي، چاهي بظاهر اهو هڪ انڌو ماڻهو ڏسڻ ۾ اچي.

قُتِلَ الْاِنْسَانُ مَآ اَكْفَرَهٗ ۭ مِنْ اَيِّ شَيْءٍ خَلَقَهٗ ۭ مِنْ نُّطْفَةٍ ۭ خَلَقَهٗ فَقَدَّرَهٗ ۙ ثُمَّ

السَّبِيْلَ يَسَّرَهٗ ﴿٢٠﴾ ثُمَّ اَمَاتَهٗ فَاَقْبَرَهٗ ﴿٢١﴾ ثُمَّ اِذَا شَآءَ اَنْشَرَهٗ ﴿٢٢﴾ كَلَّا لَمَّا يَقْضِ مَآ اَمَرَهٗ ﴿٢٣﴾
فَلْيَنْظُرِ الْاِنْسَانُ اِلٰى طَعَامِهٖٓ ﴿٢٤﴾ اَنَّا صَبَبْنَا الْمَآءَ صَبًّا ﴿٢٥﴾ ثُمَّ شَقَقْنَا الْاَرْضَ شَقًّا ﴿٢٦﴾
فَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا حَبًّا ﴿٢٧﴾ وَّ عِنَبًا وَّ قَضْبًا ﴿٢٨﴾ وَّ زَيْتُوْنًا وَّ نَخْلًا ﴿٢٩﴾ وَّ حَدَآئِقَ غُلْبًا ﴿٣٠﴾ وَّ فَاكِهَةً وَّ
اَبًّا ﴿٣١﴾ مَّتَاعًا لَّكُمْ وَلِاَنْعَامِكُمْ ﴿٣٢﴾

انسان ماريو وڃي جو ڪهڙو نه بي شڪر آهي. (الله) ان کي ڪهڙي شيءِ مان پيدا ڪيو اٿس. هڪ ڦڙي مان ان کي پيدا ڪيو، پوءِ ان لاءِ اندازو مقرر ڪيو، پوءِ ان لاءِ رستو آسان ڪيائين، پوءِ ان کي موت ڏنائين، پوءِ ان کي قبر ۾ پهچايائين، وري جڏهن هو چاهيندو ان کي (ٻيهر) زنده ڪندو. هرگز نه، ان پورو نه ڪيو جنهن جو حڪم الله ڏنو هو. پوءِ انسان کي گهرجي جو هو پنهنجي کاڌي ڏانهن نهاري، اسان پاڻي کي چڱي طرح وسايو، پوءِ اسان زمين کي چڱي طرح چيريو، پوءِ پيدا ڪيو ان مان اناج ۽ انگور ۽ ڀاڄيون ۽ زيتون ۽ کجيون ۽ گهاٽا باغ ۽ ميوا ۽ گاهه توهان لاءِ، توهان جي ڍورن جي نفعي لاءِ . ١٧-٣٢

انسان کان جيڪا خدا پرستي گهربل آهي، ان کي قوت ڏيندڙ ۽ اڀاريندڙ شيءِ اصل ۾ شڪر آهي. انسان پنهنجي تخليق تي سوچي ۽ پنهنجي چئني پاسي قدرت جي انتظام تي غور ڪري ته لازمي طورتي ان جي اندر پنهنجي رب لاءِ شڪر جو جذبو پيدا ٿيندو. ان شڪر ۽ احسان منديءَ جي جذبي تحت جنهن عمل جو ظهور ٿيندو آهي، ان ئي جو نالو خداپرستي آهي.

فَاِذَا جَآءَتِ الصَّآخَّةُ ﴿٣٣﴾ يَوْمَ يَفِرُّ الْمَرْءُ مِنْ اَخِيْهِ ﴿٣٤﴾ وَ اُمِّهٖ وَ اَبِيْهِ ﴿٣٥﴾ وَ صَاحِبَتِهٖ وَ
بَنِيْهِ ﴿٣٦﴾ لِكُلِّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ يَوْمَئِذٍ شَاْنٌ يُّغْنِيْهِ ﴿٣٧﴾ وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ مُّسْفِرَةٌ ﴿٣٨﴾ ضَاحِكَةٌ
مُّسْتَبْشِرَةٌ ﴿٣٩﴾ وَ وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ عَلَيْهَا غَبَرَةٌ ﴿٤٠﴾ تَرْهَقُهَا قَتَرَةٌ ﴿٤١﴾ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْكَفَرَةُ
الْفَجَرَةُ ﴿٤٢﴾ ع

پوءِ جڏهن ڪنن کي ٻوڙو ڪندڙ ڪڙڪو ٿيندو، جنهن ڏينهن ماڻهو (پري) ڀڄندو پنهنجي ڀاءُ کان ۽ پنهنجي ماءُ کان ۽ پنهنجي پيءُ کان ۽ پنهنجي زال کان ۽ پنهنجن پٽن کان. ان ڏينهن هر ماڻهو جي اهڙي حالت هوندي جو ڪيس بس هوندي. ڪيترائي چهرا ان ڏينهن روشن هوندا کلندڙ ۽ خوشي ڪندڙ ۽ ڪيترن ئي چهرن تي ان ڏينهن خاڪ پيل هوندي. انهن تي ڪارنهن ڇانيل هوندي. اهي ئي منڪر ۽ بدڪار آهن. ٣٣-٤٢

سچائي کي نه مڃڻ ۽ ان جي مقابلي ۾ سرڪشي ڏيکارڻ سڀني کان وڏو جرم آهي، اهڙا ماڻهو آخرت ۾ بلڪل بي قيمت ٿي ويندا ۽ جيڪي ماڻهو سچائي جو اعتراف ڪن ۽ ان جي آڏو جهڪي وڃن، اهي ئي آخرت ۾ عزت وارا ماڻهو ٿيندا. آخرت جون عزتون ۽ ڪاميابيون صرف اهڙن ئي ماڻهن جي حصي ۾ اينديون.

اٰياتها ٢٩ (٨١) سُوْرَةُ التَّكْوِيْرِ مَكِّيَّةٌ (٧) رکوعاتها ١

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اِذَا الشَّمۡسُ كُوِّرَتۡ ۝١ وَ اِذَا النُّجُوۡمُ انۡكَدَرَتۡ ۝٢ وَ اِذَا الۡجِبَالُ سُيِّرَتۡ ۝٣ وَ اِذَا الۡعِشَارُ
عُطِّلَتۡ ۝٤ وَ اِذَا الۡوُحُوۡشُ حُشِرَتۡ ۝٥ وَ اِذَا الۡبِحَارُ سُجِّرَتۡ ۝٦ وَ اِذَا النُّفُوۡسُ زُوِّجَتۡ ۝٧ وَ
اِذَا الۡمَوۡءٗدَةُ سُئِلَتۡ ۝٨ بِاَيِّ ذَنۡۢبٍ قُتِلَتۡ ۝٩ وَ اِذَا الصُّحُفُ نُشِرَتۡ ۝١٠ وَ اِذَا السَّمَآءُ
كُشِطَتۡ ۝١١ وَ اِذَا الۡجَحِيۡمُ سُعِّرَتۡ ۝١٢ وَ اِذَا الۡجَنَّةُ اُزۡلِفَتۡ ۝١٣ عَلِمَتۡ نَفۡسٌ مَّاۤ اَحۡضَرَتۡ ۝١٤

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

جڏهن سج ويڙهيو ويندو ۽ جڏهن تارا بي نور ٿي ويندا ۽ جڏهن جبل هلايا ويندا ۽ جڏهن ڏهن مهينن جون ڏکيون ڏاچيون بيڪار ڇڏي ڏبيون ۽ جڏهن جهنگلي جانور گڏ ڪبا ۽ جڏهن سمنڊ ڀڙڪايا ويندا ۽ جڏهن جيءُ پاڻ ۾ ملائبا ۽ جڏهن جيئري پوريل نياڻي کان پڇيو ويندو ته هو ڪهڙي ڏوهه ۾ ماري ويئي ۽ جڏهن اعمالناما کوليا ويندا ۽ جڏهن آسمان کي ڇليو ويندو ۽ دوزخ کي ڀاربو ۽ جڏهن جنت کي ويجهو ڪبو تڏهن هر ماڻهو ڄاڻي وٺندو ته هو ڇا کڻي آيو آهي. ١-١٤

قرآن ۾ جڳهه جڳهه قيامت جو منظر ڏيکاريو ويو آهي. قيامت جڏهن ايندي ته موجوده دنيا جو نظام ٽٽي ويندو. ان وقت انسان پاڻ کي بلڪل بيوس محسوس ڪندو. ان ڏينهن نيڪي کان سواءِ ٻيون سڀئي شيون پنهنجو وزن وڃائي ڇڏينديون. مظلوم کي حق هوندو ته هو ظالم کان پنهنجي ظلم جو جيڪو بدلو وٺڻ چاهي وٺي ڇڏي.

فَلَاۤ اُقۡسِمُ بِالۡخُنَّسِ ۝١٥ الۡجَوَارِ الۡكُنَّسِ ۝١٦ وَ الَّيۡلِ اِذَا عَسۡعَسَ ۝١٧ وَ الصُّبۡحِ اِذَا تَنَفَّسَ ۝١٨
اِنَّهٗ لَقَوۡلُ رَسُوۡلٍ كَرِيۡمٍ ۝١٩ ذِىۡ قُوَّةٍ عِنۡدَ ذِى الۡعَرۡشِ مَكِيۡنٍ ۝٢٠ مُّطَاعٍ ثَمَّ اَمِيۡنٍ ۝٢١ وَ مَا
صَاحِبُكُمۡ بِمَجۡنُوۡنٍ ۝٢٢ وَ لَقَدۡ رَاٰهُ بِالۡاُفُقِ الۡمُبِيۡنِ ۝٢٣ وَ مَا هُوَ عَلَى الۡغَيۡبِ بِضَنِيۡنٍ ۝٢٤ وَ مَا
هُوَ بِقَوۡلِ شَيۡطٰنٍ رَّجِيۡمٍ ۝٢٥ فَاَيۡنَ تَذۡهَبُوۡنَ ۝٢٦ اِنۡ هُوَ اِلَّا ذِكۡرٌ لِّلۡعٰلَمِيۡنَ ۝٢٧ لِمَنۡ شَآءَ
مِنۡكُمۡ اَنۡ يَّسۡتَقِيۡمَ ۝٢٨ وَ مَا تَشَآءُوۡنَ اِلَّاۤ اَنۡ يَّشَآءَ اللّٰهُ رَبُّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۝٢٩ ع ٦

ته پوءِ آئون قسم کڻان ٿو پوئتي هٽڻ وارن هلندڙن ۽ لڪي ويندڙ تارن جو ۽ رات جو جڏهن هو پوئتي موٽندي آهي ۽ صبح جو جڏهن روشن ٿئي. هڪ باعزت رسول (فرشتو) جو آندل ڪلام آهي، قوت وارو ۽ عرش واري وٽ بلند مرتبي وارو آهي. ان جي ڳالهه مڃي وڃي ٿي. هو امانتدار آهي ۽ توهان جو ساٿي ديوانو نه آهي ۽ هن ان کي آسمان جي پڌري ڪناري تي ڏٺو آهي ۽ هو غيب جي ڳالهين تي بخل نه ڪندڙ آهي ۽ اهو (قرآن) شيطان مردود جو قول نه آهي، پوءِ توهان ڪيڏانهن پيا وڃو. هي ته صرف جهان وارن لاءِ هڪ نصيحت آهي. ان لاءِ جيڪو توهان مان سڌو هلڻ چاهي ۽ توهان نه ٿا چاهي سگهو، پر هي ته الله رب العالمين چاهي. ١٥-٢٩

زمين تي رات ڏينهن جو اچڻ ۽ انسان جي مشاهدي ۾ تارن جي مقامن جو بدلجڻ زمين جو پنهنجي محور تي گردش جي ڪري ٿيندو آهي. ان لحاظ کان انهن لفظن جو مطلب اهو ٿيندو ته زمين جي پنهنجي محور تي گردش جو نظام ان ڳالهه تي شاهد آهي ته محمد ﷺ الله جا رسول آهن ۽ قرآن خدا جو ڪلام آهي، جيڪو فرشتي ذريعي پاڻ ﷺ تي نازل ٿيو آهي.

زمين جو پنهنجي محور تي گردش هن ڪائنات جو انتهائي نادر ۽ انتهائي عظيم واقعو آهي. اهو واقعو ڄڻ ته هڪ مثال آهي جيڪو وحي جي معاملي کي اسان لاءِ قابل فهم بڻائي ٿو. جيڪڏهن اهو تصور ڪجي ته زمين پنهنجي محور تي گردش ڪندي وسيع خلا ۾ سج جي چوڌطرف ڦري رهي آهي ته ايئن محسوس ٿيندو ڄڻ رموٽ ڪنٽرول جو ڪو طاقتور نظام آهي، جيڪو ان کي انتهائي صحيح نموني ڪنٽرول ڪري رهيو آهي. فرشتي ذريعي هڪ انسان ۽ الله جي وچ ۾ رابطو قائم ٿيڻ به انهيءَ قسم جو هڪ واقعو آهي. پهريون واقعو مثال جي روپ ۾ ٻئي واقعي کي سمجهڻ ۾ مدد ڏي ٿو.

آياتها ١٩ (٨٢) سُوۡرَةُ الۡاِنۡفِطَارِ مَكِّيَّةٌ (٨٢) رکوعاتها ١

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اِذَا السَّمَآءُ انۡفَطَرَتۡ ۙ﴿١﴾ وَ اِذَا الۡكَوَاكِبُ انۡتَثَرَتۡ ۙ﴿٢﴾ وَ اِذَا الۡبِحَارُ فُجِّرَتۡ ۙ﴿٣﴾ وَ اِذَا
الۡقُبُوۡرُ بُعۡثِرَتۡ ۙ﴿٤﴾ عَلِمَتۡ نَفۡسٌ مَّا قَدَّمَتۡ وَ اَخَّرَتۡ ؕ﴿٥﴾ يٰۤاَيُّهَا الۡاِنۡسَانُ مَا غَرَّكَ بِرَبِّكَ
الۡكَرِيۡمِ ۙ﴿٦﴾ الَّذِيۡ خَلَقَكَ فَسَوّٰىكَ فَعَدَلَكَ ۙ﴿٧﴾ فِيۡۤ اَيِّ صُوۡرَةٍ مَّا شَآءَ رَكَّبَكَ ؕ﴿٨﴾ كَلَّا بَلۡ
تُكَذِّبُوۡنَ بِالدِّيۡنِ ۙ﴿٩﴾ وَ اِنَّ عَلَيۡكُمۡ لَحٰفِظِيۡنَ ۙ﴿١٠﴾ كِرَامًا كَاتِبِيۡنَ ۙ﴿١١﴾ يَعۡلَمُوۡنَ مَا
تَفۡعَلُوۡنَ ﴿١٢﴾ اِنَّ الۡاَبۡرَارَ لَفِيۡ نَعِيۡمٍ ۚ﴿١٣﴾ وَ اِنَّ الۡفُجَّارَ لَفِيۡ جَحِيۡمٍ ۚ﴿١٤﴾ يَّصۡلَوۡنَهَا يَوۡمَ
الدِّيۡنِ ﴿١٥﴾ وَ مَا هُمۡ عَنۡهَا بِغَآئِبِيۡنَ ؕ﴿١٦﴾ وَ مَاۤ اَدۡرٰىكَ مَا يَوۡمُ الدِّيۡنِ ۙ﴿١٧﴾ ثُمَّ مَاۤ اَدۡرٰىكَ مَا
يَوۡمُ الدِّيۡنِ ؕ﴿١٨﴾ يَوۡمَ لَا تَمۡلِكُ نَفۡسٌ لِّنَفۡسٍ شَيۡـًٔا ؕ وَ الۡاَمۡرُ يَوۡمَئِذٍ لِّلّٰهِ ﴿١٩﴾ ع

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

جڏهن آسمان ڦاٽي پوندو ۽ جڏهن تارا ڇڻي ويندا ۽ جڏهن سمنڊ جوش سان وهندا ۽ جڏهن قبرون کوليون وينديون. هر ماڻهو ڄاڻي وٺندو ته هن ڇا اڳيان موڪليو ۽ ڇا پوئتي ڇڏيو. اي انسان توکي ڪهڙي شيءِ پنهنجي رب ڪريم کان ڌوڪي ۾ وڌو آهي، جنهن توکي پيدا ڪيو پوءِ تنهنجا عضوا درست ڪيا پوءِ توکي برابر ڪيائين. جنهن صورت ۾ گهريائين توکي جوڙيائين. هرگز نه. بلڪ توهان انصاف جي ڏينهن کي ڪوڙو ڀانئيندا آهيو. حالانڪ توهان تي نگهبان مقرر آهن سڳورا لکڻ وارا. اهي ڄاڻن ٿا جيڪي توهان ڪندا آهيو. بيشڪ نيڪ ماڻهو عيش ۾ هوندا ۽ بيشڪ گنهگار دوزخ ۾. انصاف جي ڏينهن اهي ان ۾ وڌا ويندا. هو ان کان لڪل نه هوندا ۽ توکي ڪهڙي خبر ته انصاف جو ڏينهن ڇا آهي، پوءِ توکي ڪهڙي خبر ته انصاف جو ڏينهن ڇا آهي. ان ڏينهن ڪو جيءُ ڪنهن ٻئي جيءَ لاءِ ڪجهه نه ڪري سگهندو ۽ ان ڏينهن (ساري حڪومت) خاص الله جي هوندي. ١-١٩

قرآن ۾ اها خبر ڏني وئي آهي تہ بالآخر انصاف جو ڏينهن اچڻ وارو آهي، جڏهن سڀني انسانن کي گڏ ڪري سندن عمل جي مطابق ڪين سزا يا انعام ڏنو ويندو. اها خبر دنيا جي موجوده صورتحال جي عين مطابق آهي. انسان جي بامعنيٰ تخليق ان خبر ۾ پنهنجو دليل ڳولهي ٿي وٺي. اهڙي طرح انسان جي قول ۽ عمل جي رڪارڊنگ جو نظام جيڪو موجوده دنيا ۾ آهي، اهو بہ هن خبر کان پوءِ پوري طرح قابل فهم بڻجي ويندو آهي. (قول ۽ هر عمل جي رڪارڊنگ جي تفصيل مصنف جي ڪتاب مذهب ۽ جديد چئلينج ۾ پڙهي ڏسو).

اٰياتها ٣٦ (٨٣) سُوْرَةُ الْمُطَفِّفِيْنَ مَكِّيَّةٌ (٨٦) رکوعاتها ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

وَيْلٌ لِّلْمُطَفِّفِيْنَ ۝١ الَّذِيْنَ اِذَا اكْتَالُوْا عَلَى النَّاسِ يَسْتَوْفُوْنَ ۝٢ وَ اِذَا كَالُوْهُمْ اَوْ وَّ
زَنُوْهُمْ يُخْسِرُوْنَ ۝٣ اَلَا يَظُنُّ اُولٰٓئِكَ اَنَّهُمْ مَّبْعُوْثُوْنَ ۝٤ لِيَوْمٍ عَظِيْمٍ ۝٥ يَّوْمَ يَقُوْمُ
النَّاسُ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝٦ كَلَّآ اِنَّ كِتٰبَ الْفُجَّارِ لَفِيْ سِجِّيْنٍ ۝٧ وَ مَآ اَدْرٰىكَ مَا سِجِّيْنٌ ۝٨
كِتٰبٌ مَّرْقُوْمٌ ۝٩ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ۝١٠ الَّذِيْنَ يُكَذِّبُوْنَ بِيَوْمِ الدِّيْنِ ۝١١ وَ مَا
يُكَذِّبُ بِهٖٓ اِلَّا كُلُّ مُعْتَدٍ اَثِيْمٍ ۝١٢ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا قَالَ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ۝١٣ كَلَّا بَلْ سكتة
رَانَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ۝١٤ كَلَّآ اِنَّهُمْ عَنْ رَّبِّهِمْ يَوْمَئِذٍ لَّمَحْجُوْبُوْنَ ۝١٥ ثُمَّ
اِنَّهُمْ لَصَالُوا الْجَحِيْمِ ۝١٦ ثُمَّ يُقَالُ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ ۝١٧

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

ويل آهي ماپ تور ۾ ڪمي ڪرڻ وارن لاءِ. جيڪي ماڻهن کان جڏهن ماپي وٺن تہ پورو وٺن ۽ جڏهن انهن کي ماپي ڏين تہ گهٽائي ڏين. ڇا اهي ماڻهو نہ ٿا سمجهن تہ اهي اٿاريا هڪ وڏي ڏينهن لاءِ جنهن ڏينهن سڀئي ماڻهو رب العالمين آڏو بيٺا هوندا. هرگز نہ، بيشڪ گنهگارن جو اعمالنامو سجين ۾ هوندو ۽ توکي ڪهڙي خبر تہ سجين ڇا آهي. اهو هڪ لکيل دفتر آهي، ويل آهي انهيءَ ڏينهن ڪوڙ پائيندڙن لاءِ. جيڪي انصاف جي ڏينهن کي ڪوڙو پائيندا آهن ۽ ان کي اهو ئي ماڻهو ڪوڙو پائيندو آهي جيڪو حد کان لنگهندڙ هجي، گنهگار هجي، جڏهن ان کي اسان جون آيتون پڙهيون وينديون آهن تہ هو چوي ٿو هي اڳين جون آکاڻيون آهن. هرگز نہ بلڪ سندن دلين تي سندن عملن جو ڪٽ چڙهي ويو آهي. هرگز نہ بلڪ ان ڏينهن اهي پنهنجي رب کان حجاب ۾ رکيا ويندا. پوءِ اُهي دوزخ ۾ داخل ٿيندا، پوءِ چيو ويندو تہ هي اها شيءِ آهي جنهن کي توهان ڪوڙو پائيندا هئا. ١-١٧

هر ماڻهو اهو چاهي ٿو تہ هو ٻين کان پنهنجو پورو حق وصول ڪري، پر اعليٰ انساني ڪردار اهو آهي تہ ماڻهو ٻين کي بہ انهن جو پورو پورو حق ادا ڪري. هو ٻين جي لاءِ بہ اُهو ئي ڪجهہ پسند ڪري جيڪو هو پنهنجي لاءِ پسند ڪري رهيو آهي، جيڪي ماڻهو خود پورو وٺن ۽ ٻين کي گهٽ ڏين، اهي آخرت ۾ ان حال ۾ پهچندا جو اتي اهي برباد ٿي رهجي ويندا.

جيڪو پاڻ لاءِ پورو وصول ڪري رهيو آهي. اهو ڄڻ ان ڳالھ کي ڄاڻي ٿو تہ ماڻھو کي سندس پورو حق ملڻ گھرجي. اهڙي حالت ۾ جڏهن هو ٻين کي ڏيڻ وقت ڪين گھٽ ڏي ٿو تہ هو ٻين جي حق جي باري ۾ پنهنجي احساس کي گھٽائي ٿو. جيڪو ماڻھو بار بار اهڙي طرح جو عمل ڪري تہ ان تي آخرڪار اهو وقت ايندو جڏهن ٻين جي حق جي باري ۾ ان جو احساس بلڪل ختم ٿي ويندو. ان جي دل جي مٿان پوري طرح سندس عمل جو زنگ چڙهي ويندو.

كَلَّاۤ اِنَّ كِتٰبَ الۡاَبۡرَارِ لَفِيۡ عِلِّيِّيۡنَ ۞ وَ مَاۤ اَدۡرٰىكَ مَا عِلِّيُّوۡنَ ۞ كِتٰبٌ مَّرۡقُوۡمٌ ۞ يَّشۡهَدُهُ
الۡمُقَرَّبُوۡنَ ۞ اِنَّ الۡاَبۡرَارَ لَفِيۡ نَعِيۡمٍ ۞ عَلَى الۡاَرَآئِكِ يَنۡظُرُوۡنَ ۞ تَعۡرِفُ فِيۡ وُجُوۡهِهِمۡ
نَضۡرَةَ النَّعِيۡمِ ۞ يُسۡقَوۡنَ مِنۡ رَّحِيۡقٍ مَّخۡتُوۡمٍ ۞ خِتٰمُهٗ مِسۡكٌ ؕ وَ فِيۡ ذٰلِكَ فَلۡيَتَنَافَسِ
الۡمُتَنَافِسُوۡنَ ۞ وَ مِزَاجُهٗ مِنۡ تَسۡنِيۡمٍ ۞ عَيۡنًا يَّشۡرَبُ بِهَا الۡمُقَرَّبُوۡنَ ۞ اِنَّ الَّذِيۡنَ
اَجۡرَمُوۡا كَانُوۡا مِنَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا يَضۡحَكُوۡنَ ۞ وَ اِذَا مَرُّوۡا بِهِمۡ يَتَغَامَزُوۡنَ ۞ وَ اِذَا
انۡقَلَبُوۡۤا اِلٰٓى اَهۡلِهِمُ انۡقَلَبُوۡا فَكِهِيۡنَ ۞ وَ اِذَا رَاَوۡهُمۡ قَالُوۡۤا اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ لَضَآلُّوۡنَ ۞ وَ مَاۤ
اُرۡسِلُوۡا عَلَيۡهِمۡ حٰفِظِيۡنَ ۞ فَالۡيَوۡمَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مِنَ الۡكُفَّارِ يَضۡحَكُوۡنَ ۞ عَلَى
الۡاَرَآئِكِ ۙ يَنۡظُرُوۡنَ ۞ هَلۡ ثُوِّبَ الۡكُفَّارُ مَا كَانُوۡا يَفۡعَلُوۡنَ ۞ ع

هرگز نہ. بيشڪ نيڪ ماڻهن جو اعمالنامو عليين ۾ آهي ۽ توکي ڪهڙي خبر تہ عليين ڇا آهي. هڪ لکيل دفتر آهي. مقرب فرشتن جي نگراني ۾. بيشڪ نيڪ ماڻهو آرام ۾ هوندا تختن تي ويهي نظارو پيا ڪندا. سندن چهرن تي تون آرام جي تازگي محسوس ڪندين. کين مهر لڳل صاف شراب پياري ويندي. جنهن تي مشڪ جي مهر هوندي ۽ اها شيءِ آهي جنهن لاءِ حرص ڪندڙن کي حرص ڪرڻ گهرجي ۽ شراب ۾ تسنيم جي ملاوٽ هوندي. هڪ اهڙو چشمو جنهن مان مقرب ماڻهو پيئندا. بيشڪ جيڪي مجرم هئا اهي ايمان وارن تي کلندا هئا ۽ جڏهن اُهي انهن وٽان لنگهندا هئا تہ پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي اشارو ڪندا هئا ۽ جڏهن پنهنجن گهروارن ڏانهن موٽندا هئا تہ ڏاڍيون خوشيون ڪندي موٽندا هئا ۽ جڏهن هو انهن (مؤمنن) کي ڏسندا هئا تہ چوندا هئا تہ هي گمراهہ ماڻهو آهن. حالانڪ اهي انهن تي نگهبان بڻائي نہ موڪليا ويا هئا. تنهن ڪري اڄ ايمان وارا منڪرن تي کلندا. تختن تي ويهي ڏسي رهيا هوندا، (چوندا) واقعي ڪافرن کي انهيءَ جو بدلو مليو جيڪي اُهي ڪندا هئا. ١٨-٣٦

موجوده دنيا ۾ اڪثر ماڻهو ان ڳالھ کي اهم نٿا سمجهن تہ هو ٻين کي سندن پورو حق ادا ڪن. انهن جي سڄي دلچسپي ان ۾ هوندي آهي تہ هو ٻين کان پنهنجو حق پورو پورو وصول ڪري وٺن. اهڙا ماڻھو آخرت ۾ محروم رهجي ويندا، عقل مند ماڻھو اُهي آهن جيڪي ٻين کان وڌيڪ اهميت ان ڳالھ کي ڏين تہ اهي ٻين کي سندن حق پورو پورو ادا ڪن. ڇاڪاڻ تہ اهي ئي اُهي ماڻھو آهن جيڪي آخرت ۾ الله جي نعمتن جا مستحق قرار ڏنا ويندا.

جيڪو ماڻھو آخرت جي لاءِ پنهنجن دنياوي مصلحتن کي نظرانداز ڪري ڇڏي، اهو دنيا وارن جي نظر ۾ حقير بڻجي ويندو آهي، پر جڏهن آخرت ايندي تہ خبر پوندي تہ اُهي ئي ماڻھو هوشيار هئا جن کي دنيا ۾ نادان سمجهيو ويو هو.

رکوعاتها ١ (٨٤) سُوْرَةُ الْاِنْشِقَاقِ مَكِّيَّةٌ (٨٣) اٰياتها ٢٥

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اِذَا السَّمَآءُ انْشَقَّتْ ﴿١﴾ وَ اَذِنَتْ لِرَبِّهَا وَ حُقَّتْ ﴿٢﴾ وَ اِذَا الْاَرْضُ مُدَّتْ ﴿٣﴾ وَ اَلْقَتْ مَا فِيْهَا
وَ تَخَلَّتْ ﴿٤﴾ وَ اَذِنَتْ لِرَبِّهَا وَ حُقَّتْ ﴿٥﴾ يٰۤاَيُّهَا الْاِنْسَانُ اِنَّكَ كَادِحٌ اِلٰى رَبِّكَ كَدْحًا
فَمُلٰقِيْهِ ﴿٦﴾ فَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِيَمِيْنِهٖ ﴿٧﴾ فَسَوْفَ يُحَاسَبُ حِسَابًا يَّسِيْرًا ﴿٨﴾ وَّ يَنْقَلِبُ
اِلٰۤى اَهْلِهٖ مَسْرُوْرًا ﴿٩﴾ وَ اَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ وَرَآءَ ظَهْرِهٖ ﴿١٠﴾ فَسَوْفَ يَدْعُوْا ثُبُوْرًا ﴿١١﴾ وَّ
يَصْلٰى سَعِيْرًا ﴿١٢﴾ اِنَّهٗ كَانَ فِيْۤ اَهْلِهٖ مَسْرُوْرًا ﴿١٣﴾ اِنَّهٗ ظَنَّ اَنْ لَّنْ يَّحُوْرَ ﴿١٤﴾ بَلٰۤى اِنَّ رَبَّهٗ كَانَ
بِهٖ بَصِيْرًا ﴿١٥﴾ فَلَاۤ اُقْسِمُ بِالشَّفَقِ ﴿١٦﴾ وَ الَّيْلِ وَ مَا وَسَقَ ﴿١٧﴾ وَ الْقَمَرِ اِذَا اتَّسَقَ ﴿١٨﴾ لَتَرْكَبُنَّ
طَبَقًا عَنْ طَبَقٍ ﴿١٩﴾ فَمَا لَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٢٠﴾ وَ اِذَا قُرِئَ عَلَيْهِمُ الْقُرْاٰنُ لَا يَسْجُدُوْنَ ﴿٢١﴾ السجدة ١٣
بَلِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُكَذِّبُوْنَ ﴿٢٢﴾ وَ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا يُوْعُوْنَ ﴿٢٣﴾ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٢٤﴾
ع ١ اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ ﴿٢٥﴾ ٩

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

جڏهن آسمان ڦاٽندو ۽ هو پنهنجي رب جو حڪم ٻڌي وٺندو ۽ (ٻڌڻ) حق اٿس ۽ جڏهن زمين پکيڙبي ۽ جيڪي ان ۾ هوندو سو ڪڍي اڇليندي ۽ خالي ٿي ويندي ۽ هو پنهنجي رب جو حڪم ٻڌندي ۽ (ٻڌڻ) حق اٿس. اي انسان! تون پنهنجي رب ڏانهن (پهچڻ ۾) تمام گهڻي تڪليف وٺڻ وارو آهين، پوءِ ان کي وڃي ملندين، پوءِ جنهن کي ان جو اعمالنامو سندس ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو، ان کان آسان حساب ورتو ويندو ۽ اهو پنهنجن گهروارن ڏانهن خوشي خوشي موٽندو ۽ جنهن جو اعالنامو سندس پٺي پويان ڏنو ويندو هو موت کي سڏيندو ۽ جهنم ۾ داخل ٿيندو. هو پنهنجن گهروارن ۾ خوش رهندو هو. اُن پاڻيو ته ان کي ڪڏهن موٽڻو نه آهي ڇو نه سندس رب ان کي ڏسي رهيو هو، پوءِ آئون قسم کڻان ٿو شفق جو ۽ رات جو ۽ جن کي گڏ ڪيو اٿس ۽ چنڊ جو جڏهن هو پورو ٿئي، توهان کي ضرور هڪ حال کان ٻئي حال تي پهچڻو آهي، پوءِ انهن کي ڇا ٿيو آهي جو هو ايمان نه ٿا آڻين ۽ جڏهن انهن آڏو قرآن پڙهيو وڃي ٿو ته سجدو نه ٿا ڪن. بلڪ اهي منڪر ڪوڙ پائيندا آهن ۽ الله ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهه اهي گڏ ڪري رهيا آهن، پوءِ ڪين ڏکوئيندڙ عذاب جي خوشخبري ڏئي ڇڏ. پر جن ايمان آندو ۽ انهن چڱا عمل ڪيا انهن لاءِ اڻ کٽ اجر آهي . ١-٣٥

هتي قيامت جي متعلق جيڪا ڳالهه چئي وئي آهي اها بظاهر غيب جي دنيا جي باري ۾ هڪ خبر جي حيثيت رکندي آهي. جيئن ته اهڙيون شاهديون موجود آهن جيڪي ان جي صداقت جو دليل آهن. انهن مان هڪ مثال موجوده دنيا آهي. هڪ دنيا جي موجودگي خود ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ٻي اهڙي ئي يا ان کان مختلف دنيا وجود ۾ اچي سگهي ٿي. ٻيو ته قرآن ۾ اهڙن غيرمعمولي پهلوئن جو موجود هجڻ جيڪي اهو ثابت ڪندا آهن ته اِهو خدا جو ڪتاب آهي. (تفصيل لاءِ ڏسندا ڪتاب ”عظمت قرآن“)

انهن واضح دليلن کان پوءِ جيڪي ماڻهو آخرت تي يقين نہ ڪن ۽ آخرت کان غفلت ۾ زندگي گذارين، اهي يقيناً اهڙو جرم ڪري رهيا آهن جنهن جي سزا اهائي ٿي سگهي ٿي جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي.

اٰياتها ٢٢ (٨٥) سُوْرَةُ الْبُرُوْجِ مَكِّيَّةٌ (٢٧) رکوعاتها ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

وَ السَّمَآءِ ذَاتِ الْبُرُوْجِ ۙ﴿١﴾ وَ الْيَوْمِ الْمَوْعُوْدِ ۙ﴿٢﴾ وَ شَاهِدٍ وَّ مَشْهُوْدٍ ؕ﴿٣﴾ قُتِلَ اَصْحٰبُ
الْاُخْدُوْدِ ۙ﴿٤﴾ النَّارِ ذَاتِ الْوَقُوْدِ ۙ﴿٥﴾ اِذْ هُمْ عَلَيْهَا قُعُوْدٌ ۙ﴿٦﴾ وَّ هُمْ عَلٰى مَا يَفْعَلُوْنَ
بِالْمُؤْمِنِيْنَ شُهُوْدٌ ؕ﴿٧﴾ وَ مَا نَقَمُوْا مِنْهُمْ اِلَّاۤ اَنْ يُّؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ ۙ﴿٨﴾ الَّذِيْ
لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ وَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ؕ﴿٩﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ فَتَنُوا
الْمُؤْمِنِيْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتِ ثُمَّ لَمْ يَتُوْبُوْا فَلَهُمْ عَذَابُ جَهَنَّمَ وَ لَهُمْ عَذَابُ الْحَرِيْقِ ؕ﴿١٠﴾
اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ۬ ذٰلِكَ الْفَوْزُ
الْكَبِيْرُ ؕ﴿١١﴾ اِنَّ بَطْشَ رَبِّكَ لَشَدِيْدٌ ؕ﴿١٢﴾ اِنَّهٗ هُوَ يُبْدِئُ وَ يُعِيْدُ ۚ﴿١٣﴾ وَ هُوَ الْغَفُوْرُ الْوَدُوْدُ ۙ﴿١٤﴾
ذُو الْعَرْشِ الْمَجِيْدُ ۙ﴿١٥﴾ فَعَّالٌ لِّمَا يُرِيْدُ ؕ﴿١٦﴾ هَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ الْجُنُوْدِ ۙ﴿١٧﴾ فِرْعَوْنَ وَ
ثَمُوْدَ ؕ﴿١٨﴾ بَلِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِيْ تَكْذِيْبٍ ۙ﴿١٩﴾ وَّ اللّٰهُ مِنْ وَّرَآئِهِمْ مُّحِيْطٌ ۚ﴿٢٠﴾ بَلْ هُوَ قُرْاٰنٌ
ع ٢٢ ١٠ مَّجِيْدٌ ۙ﴿٢١﴾ فِيْ لَوْحٍ مَّحْفُوْظٍ ۠﴿٢٢﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

قسم آهي برجن واري آسمان جو ۽ واعدي ڪيل ڏينهن جو ۽ حاضر ٿيڻ واري ۽ جنهن وٽ حاضر ڪيو وڃي تنهن جو. کاهين وارا ماريا ويا (کاهين) ۾ پڙڪندڙ باھ هئي. جڏهن اهي انهن (کاهين) تي ويٺل هئا ۽ جيڪو ڪجھ اهي ايمان وارن سان ڪري رهيا هئا، تنهن کي روبرو ڏسي رهيا هئا ۽ سندن (مؤمن) سان دشمني جو سبب ان کان سواءِ ٻيو نہ هو جو انهن الله غالب ساراهيل تي ايمان آندو هو. جنهن جي بادشاهي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي ۽ الله هر شيءِ کي ڏسي رهيو آهي جن ماڻهن مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن کي ايذايو، پوءِ توبهہ نہ ڪيائون تہ سندن لاءِ جهنم جو عذاب آهي ۽ سندن لاءِ سڙڻ جو عذاب آهي. بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن نيڪ عمل ڪيا تن لاءِ باغ آهن، جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون. اها وڏي ڪاميابي آهي. بيشڪ تنهنجي رب جي پڪڙ وڏي سخت آهي. اهوئي پهريون دفعو پيدا ڪري ٿو ۽ اهوئي ٻيهر موٽائيندو ۽ هو بخشڻهار محبت ڪرڻ وارو آهي. عرش جو مالڪ تمام وڏي شان وارو آهي، جيڪي چاهي ٿو سو ڪري ٿو. ڇا توکي لشڪرن جي خبر پهتي. فرعون ۽ ثمود جي. بلڪ اهي منڪر ڪوڙ ڀانئڻ ۾ (لڳا پيا) آهن ۽ الله سندن چوطرف گهيرو ڪندڙ آهي، بلڪ هي باعظمت قرآن آهي. حفاظت ڪيل تختي ۾ لکيل آهي. ١-٢٢

ڪائنات جو نظام تقاضو ڪري ٿو تہ آخري فيصلي لاءِ هڪ ڏينهن اچڻ گهرجي. ان ڏينهن جي خبر سيئي پيغمبر ۽ سندن سچا تابعدار ڏيندا رهيا آهن. ان جي باوجود جيڪي ماڻهو حق جو اعتراف نہ ڪن بلڪ حق جي داعين جا دشمن بڻجي وڃن، اُهي اهڙي سرڪشي ڪندا آهن جنهن جي دهشتناڪ انجام کان اُهي ڪهڙي بہ طرح بچي نہ ٿا سگهن. جيئن تہ جيڪي ماڻهو هر قسم جي مشڪلن جي باوجود حق جي آواز تي لبيڪ چون، اُهي مهربان الله طرفان اهڙو انعام لهندا جنهن کان وڌو انعام ٻيو ڪو بہ نہ آهي.

آسماني ڪتابن ۾ صرف قرآن هڪ محفوظ ڪتاب آهي. هي ان ڳالهہ جي علامت آهي تہ قرآن کي الله جي خاص مدد حاصل آهي. ان کي زير ڪرڻ ڪهڙي بہ طرح ممڪن نہ آهي، ايستائين جو قيامت اچي وڃي.

## (٨٦) سُوْرَةُ الطَّارِقِ مَكِّيَّةٌ (٣٦)

اٰياتها ١٧ — رکوعاتها ١

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

وَ السَّمَآءِ وَ الطَّارِقِ ۙ﴿۱﴾ وَ مَاۤ اَدۡرٰىكَ مَا الطَّارِقُ ۙ﴿۲﴾ النَّجۡمُ الثَّاقِبُ ۙ﴿۳﴾ اِنۡ كُلُّ نَفۡسٍ لَّمَّا
عَلَيۡهَا حَافِظٌ ؕ﴿۴﴾ فَلۡيَنۡظُرِ الۡاِنۡسَانُ مِمَّ خُلِقَ ؕ﴿۵﴾ خُلِقَ مِنۡ مَّآءٍ دَافِقٍ ۙ﴿۶﴾ يَّخۡرُجُ مِنۡ
بَيۡنِ الصُّلۡبِ وَ التَّرَآئِبِ ؕ﴿۷﴾ اِنَّهٗ عَلٰى رَجۡعِهٖ لَقَادِرٌ ؕ﴿۸﴾ يَوۡمَ تُبۡلَى السَّرَآئِرُ ۙ﴿۹﴾ فَمَا لَهٗ مِنۡ
قُوَّةٍ وَّ لَا نَاصِرٍ ؕ﴿۱۰﴾ وَ السَّمَآءِ ذَاتِ الرَّجۡعِ ۙ﴿۱۱﴾ وَ الۡاَرۡضِ ذَاتِ الصَّدۡعِ ۙ﴿۱۲﴾ اِنَّهٗ لَقَوۡلٌ
فَصۡلٌ ۙ﴿۱۳﴾ وَّ مَا هُوَ بِالۡهَزۡلِ ؕ﴿۱۴﴾ اِنَّهُمۡ يَكِيۡدُوۡنَ كَيۡدًا ۙ﴿۱۵﴾ وَّ اَكِيۡدُ كَيۡدًا ۚ﴿۱۶﴾ فَمَهِّلِ الۡكٰفِرِيۡنَ
اَمۡهِلۡهُمۡ رُوَيۡدًا ﴿۱۷﴾ ع

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

قسم آهي آسمان جو ۽ رات جي وقت ايرندڙ جو ۽ تو کي ڪهڙي خبر تہ رات جو ايرندڙ ڇا آهي. چمڪندڙ تارو آهي. ڪو جيءُ اهڙو نہ آهي جنهن تي نگهبان نہ هجي. تنهن ڪري انسان کي ڏسڻ گهرجي تہ هو ڪهڙي شيءِ مان پيدا ڪيو ويو آهي. هو هڪ اڇل سان نڪرندڙ پاڻي مان پيدا ڪيو ويو آهي، جيڪو نڪري ٿو پٺي ۽ اُرهہ جي وچ مان. بيشڪ هو ان کي ٻيهر پيدا ڪرڻ تي قادر آهي، جنهن ڏينهن سڀ ڳجهہ جانچيا ويندا، ان ڏينهن انسان وٽ ڪو زور نہ هوندو ۽ نہ ڪو مددگار. قسم آهي چڪر هڻندڙ آسمان جو ۽ ڦاٽڻ واري زمين جو. بيشڪ هي (قرآن) هڪ فيصلو ڪندڙ ڳالهہ آهي ۽ هي قرآن ٺٺولي نہ آهي. اُهي ڳجهي رٿ رٿين ٿا ۽ آئون بہ رٿ رٿيان ٿو، پوءِ منڪرن کي ڍر ڏي ۽ ٿورا ڏينهن ڪين ڇڏي ڏي. ١-١٧

انسان جي مٿان تاري جو چمڪڻ مثال جي زبان ۾ ان ڳالهہ جي يادگيري ڏيارڻ آهي تہ ڪو ڏسڻ وارو ان کي ڏسي رهيو آهي. هي ڏسڻ وارو انسان جي عمل کي رڪارڊ ڪري رهيو آهي. هو موت کان پوءِ ٻيهر انسان کي پيدا ڪندو ۽ هن کان سندس سيني عملن جو حساب وٺندو. اها صرف امتحان جي مهلت آهي، جيڪا انسان ۽ سندس حساب ۾ هڪ اوٽ بڻيل آهي. امتحان جي مهلت ختم ٿيندي ئي سندس اهو انجام سامهون اچي ويندو، جنهن کان انسان بظاهر گهٽو پري نظر اچي پيو.

ايَاتها ١٩ (٨٧) سُوۡرَۃُ الۡاَعۡلٰی مَکِّیَّۃٌ (٨) رکوعاتها ١

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

سَبِّحِ اسۡمَ رَبِّکَ الۡاَعۡلَی ۙ﴿۱﴾ الَّذِیۡ خَلَقَ فَسَوّٰی ۪ۙ﴿۲﴾ وَ الَّذِیۡ قَدَّرَ فَہَدٰی ۪ۙ﴿۳﴾ وَ الَّذِیۡۤ
اَخۡرَجَ الۡمَرۡعٰی ۪ۙ﴿۴﴾ فَجَعَلَہٗ غُثَآءً اَحۡوٰی ؕ﴿۵﴾ سَنُقۡرِئُکَ فَلَا تَنۡسٰۤی ۙ﴿۶﴾ اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰہُ ؕ اِنَّہٗ
یَعۡلَمُ الۡجَہۡرَ وَ مَا یَخۡفٰی ؕ﴿۷﴾ وَ نُیَسِّرُکَ لِلۡیُسۡرٰی ۚ﴿ۖ۸﴾ فَذَکِّرۡ اِنۡ نَّفَعَتِ الذِّکۡرٰی ؕ﴿۹﴾
سَیَذَّکَّرُ مَنۡ یَّخۡشٰی ﴿ۙ۱۰﴾ وَ یَتَجَنَّبُہَا الۡاَشۡقَی ﴿ۙ۱۱﴾ الَّذِیۡ یَصۡلَی النَّارَ الۡکُبۡرٰی ﴿ۚ۱۲﴾ ثُمَّ لَا
یَمُوۡتُ فِیۡہَا وَ لَا یَحۡیٰی ﴿ؕ۱۳﴾ قَدۡ اَفۡلَحَ مَنۡ تَزَکّٰی ﴿ۙ۱۴﴾ وَ ذَکَرَ اسۡمَ رَبِّہٖ فَصَلّٰی ﴿ؕ۱۵﴾ بَلۡ تُؤۡثِرُوۡنَ
الۡحَیٰوۃَ الدُّنۡیَا ﴿۫ۖ۱۶﴾ وَ الۡاٰخِرَۃُ خَیۡرٌ وَّ اَبۡقٰی ﴿ؕ۱۷﴾ اِنَّ ہٰذَا لَفِی الصُّحُفِ الۡاُوۡلٰی ﴿ۙ۱۸﴾ صُحُفِ
اِبۡرٰہِیۡمَ وَ مُوۡسٰی ﴿٪۱۹﴾ ع ١٩/١٢

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

پنهنجي رب جي نالي جي پاڪائي بيان ڪر، جيڪو سڀ کان مٿانهون آهي، جنهن بڻايو، پوءِ ٺيڪ بڻايائين، جنهن اندازو ڪيو، پوءِ رستو ڏيکاريائين ۽ جنهن تازو گاهه ڪڍيو، پوءِ ان کي سڪو سڙيو ڪيائين. اسان توکي پاڙهينداسون، پوءِ تون نه وساريندين، پر جيڪو الله چاهي. هو ڄاڻي ٿو ظاهر کي به ۽ ان کي به جيڪو ڳجهو آهي ۽ اسين توکي رستو آسان ڪري ڏينداسون. پوءِ نصيحت ڪر جيڪڏهن نصيحت فائدو پهچائي. اهو ماڻهو نصيحت قبول ڪندو جيڪو ڊڄي ٿو ۽ ان کان منهن موڙيندو اهو جيڪو بدبخت هوندو. هو وڏي باهه ۾ پوندو پوءِ نه ان ۾ مرندو ۽ نه جيئندو. ڪامياب ٿيو اهو جنهن پاڻ کي پاڪ ڪيو ۽ پنهنجي رب جو نالو ورتو، پوءِ نماز پڙهي. بلڪ توهان دنيا جي زندگي کي ترجيح ڏيو ٿا ۽ آخرت بهتر آهي ۽ هميشه رهڻ واري آهي اهوئي اڳين صحيفن ۾ به آهي (جيئن) موسيٰ عليه السلام ۽ ابراهيم جي صحيفن ۾. ١-١٩

انسان ۽ دنيا جي تخليق ۾ واضح طور تي هڪ منصوبه بندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اها منصوبابندي تقاضو ڪري ٿي ته ان تخليق جو ڪو مقصد هجي. انهيءَ مقصد کي وحي جي ذريعي انسان تي واضح ڪيو ويو آهي. جيئن ته وحي مان اهوئي ماڻهو نصيحت قبول ڪندو، جنهن ۾ سوچڻ ۽ اثر وٺڻ جو مزاج هجي. اهڙا ماڻهو الله جي ابدي انعامن ۾ داخل ڪيا ويندا ۽ جن ماڻهن جي سرڪشي انهن لاءِ نصيحت قبول ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي وڃي ته سندن انجام صرف اهو آهي جو اهي هميشه جي لاءِ باهه ۾ سڙندا رهن.

آياتها ٢٦ (٨٨) سُوْرَةُ الْغَاشِيَةِ مَكِّيَّةٌ (٦٨) ركوعاتها ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

هَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ الْغَاشِيَةِ ﴿١﴾ وُجُوْهٌ يَّوْمَىِٕذٍ خَاشِعَةٌ ﴿٢﴾ عَامِلَةٌ نَّاصِبَةٌ ﴿٣﴾ تَصْلٰى نَارًا
حَامِيَةً ﴿٤﴾ تُسْقٰى مِنْ عَيْنٍ اٰنِيَةٍ ﴿٥﴾ لَيْسَ لَهُمْ طَعَامٌ اِلَّا مِنْ ضَرِيْعٍ ﴿٦﴾ لَّا يُسْمِنُ وَ لَا
يُغْنِيْ مِنْ جُوْعٍ ﴿٧﴾ وُجُوْهٌ يَّوْمَىِٕذٍ نَّاعِمَةٌ ﴿٨﴾ لِّسَعْيِهَا رَاضِيَةٌ ﴿٩﴾ فِيْ جَنَّةٍ عَالِيَةٍ ﴿١٠﴾ لَّا تَسْمَعُ
فِيْهَا لَاغِيَةً ﴿١١﴾ فِيْهَا عَيْنٌ جَارِيَةٌ ﴿١٢﴾ فِيْهَا سُرُرٌ مَّرْفُوْعَةٌ ﴿١٣﴾ وَّ اَكْوَابٌ مَّوْضُوْعَةٌ ﴿١٤﴾ وَّ
نَمَارِقُ مَصْفُوْفَةٌ ﴿١٥﴾ وَّ زَرَابِيُّ مَبْثُوْثَةٌ ﴿١٦﴾ اَفَلَا يَنْظُرُوْنَ اِلَى الْاِبِلِ كَيْفَ خُلِقَتْ ﴿١٧﴾ وَ اِلَى
السَّمَآءِ كَيْفَ رُفِعَتْ ﴿١٨﴾ وَ اِلَى الْجِبَالِ كَيْفَ نُصِبَتْ ﴿١٩﴾ وَ اِلَى الْاَرْضِ كَيْفَ سُطِحَتْ ﴿٢٠﴾
فَذَكِّرْ اِنَّمَآ اَنْتَ مُذَكِّرٌ ﴿٢١﴾ لَسْتَ عَلَيْهِمْ بِمُصَيْطِرٍ ﴿٢٢﴾ اِلَّا مَنْ تَوَلّٰى وَ كَفَرَ ﴿٢٣﴾ فَيُعَذِّبُهُ
اللّٰهُ الْعَذَابَ الْاَكْبَرَ ﴿٢٤﴾ اِنَّ اِلَيْنَآ اِيَابَهُمْ ﴿٢٥﴾ ثُمَّ اِنَّ عَلَيْنَا حِسَابَهُمْ ﴿٢٦﴾ ع

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

ڇا توکي ان ڇانئجي وڃڻ واري جي خبر پهتي آهي. ڪيترائي چهرا ان ڏينهن ذليل هوندا. محنت ڪرڻ وارا ٿڪل هوندا. اهي پرندڙ باهه ۾ پوندا. ٽهڪندڙ چشمي مان پاڻي پياريو ويندو. انهن لاءِ ڪنڊن واري گاهه کان سواءِ ڪو کاڌو نه هوندو جيڪو نه ٿلهو ڪري ۽ نه بک لاهي. ڪيترائي چهرا ان ڏينهن تازه هوندا، پنهنجي ڪمائي تي خوش هوندا مٿانهين جنت ۾. ان ۾ ڪا اجائي ڳالهه نه ٻڌندا. ان ۾ وهندڙ چشما هوندا. ان ۾ وڏا تخت مٿي وڇايل هوندا ۽ پيالا سجائي رکيل هوندا ۽ وهاڻا قطار ڪري رکيل ۽ غاليچا وڇايل هوندا، پوءِ ڇا اهي اٺن کي نٿا ڏسن ته ڪيئن خلقيا ويا ۽ آسمان کي اهو ڪهڙي طرح بلند ڪيو ويو ۽ جبلن کي ته ڪهڙي طرح کڙا ڪيا ويا ۽ زمين کي ته ڪهڙي طرح وڇائي ويئي، پوءِ تون نصيحت ڪر جو تون رڳو نصيحت ڪرڻ وارو آهين. تون انهن تي دارغو نه آهين، پر جنهن منهن موڙيو ۽ انڪار ڪيو ته الله ان کي وڏو عذاب ڏيندو. بيشڪ اسان ڏانهن ئي سندن واپسي آهي. بيشڪ پوءِ اسان جي ذمي آهي سندن حساب وٺڻ . ١-٢٦

ماڻهو ڏسي ٿو ته اٺ جهڙو عجيب جانور سندس تابعدار آهي. آسمان پنهنجن سيني عظمتن جي باوجود ان جي تابع آهي. زمين اسان جي ڪنهن ڪوشش کان سواءِ اسان لاءِ موافق بڻيل آهي. اهي واقعا سوچڻ واري کي الله ۽ آخرت جي ياد ڏياريندا آهن. جيڪي ماڻهو دنيا جي ان نظام مان نصيحت جي غذا وٺن ته انهن پاڻ کي الله جي ابدي نعمتن جو مستحق ثابت ڪيو ۽ جيڪي ماڻهو غفلت ۾ رهيا، انهن اهو ثابت ڪيو ته اُهي صرف ان قابل آهن ته ڪين هر قسم جي نعمتن کان هميشه جي لاءِ محروم ڪيو وڃي.

آیاتها ۳۰ (۸۹) سُوْرَةُ الْفَجْرِ مَكِّيَّةٌ (۱۰) رکوعاتها ۱

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

وَ الْفَجْرِ ۝۱ وَ لَيَالٍ عَشْرٍ ۝۲ وَّ الشَّفْعِ وَ الْوَتْرِ ۝۳ وَ الَّيْلِ اِذَا يَسْرِ ۝۴ هَلْ فِيْ ذٰلِكَ قَسَمٌ لِّذِيْ
حِجْرٍ ۝۵ اَلَمْ تَرَ كَيْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِعَادٍ ۝۶ اِرَمَ ذَاتِ الْعِمَادِ ۝۷ الَّتِيْ لَمْ يُخْلَقْ مِثْلُهَا فِي
الْبِلَادِ ۝۸ وَ ثَمُوْدَ الَّذِيْنَ جَابُوا الصَّخْرَ بِالْوَادِ ۝۹ وَ فِرْعَوْنَ ذِي الْاَوْتَادِ ۝۱۰ الَّذِيْنَ طَغَوْا فِي
الْبِلَادِ ۝۱۱ فَاَكْثَرُوْا فِيْهَا الْفَسَادَ ۝۱۲ فَصَبَّ عَلَيْهِمْ رَبُّكَ سَوْطَ عَذَابٍ ۝۱۳ اِنَّ رَبَّكَ
لَبِالْمِرْصَادِ ۝۱۴ فَاَمَّا الْاِنْسَانُ اِذَا مَا ابْتَلٰىهُ رَبُّهٗ فَاَكْرَمَهٗ وَ نَعَّمَهٗ فَيَقُوْلُ رَبِّيْٓ اَكْرَمَنِ ۝۱۵ وَ
اَمَّآ اِذَا مَا ابْتَلٰىهُ فَقَدَرَ عَلَيْهِ رِزْقَهٗ فَيَقُوْلُ رَبِّيْٓ اَهَانَنِ ۝۱۶ كَلَّا بَلْ لَّا تُكْرِمُوْنَ الْيَتِيْمَ ۝۱۷ وَ
لَا تَحٰٓضُّوْنَ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ۝۱۸ وَ تَاْكُلُوْنَ التُّرَاثَ اَكْلًا لَّمًّا ۝۱۹ وَّ تُحِبُّوْنَ الْمَالَ حُبًّا
جَمًّا ۝۲۰ كَلَّآ اِذَا دُكَّتِ الْاَرْضُ دَكًّا دَكًّا ۝۲۱ وَّ جَآءَ رَبُّكَ وَ الْمَلَكُ صَفًّا صَفًّا ۝۲۲ وَ جِايْٓءَ يَوْمَئِذٍۭ
بِجَهَنَّمَ يَوْمَئِذٍ يَّتَذَكَّرُ الْاِنْسَانُ وَ اَنّٰى لَهُ الذِّكْرٰى ۝۲۳ يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ قَدَّمْتُ لِحَيَاتِيْ ۝۲۴
فَيَوْمَئِذٍ لَّا يُعَذِّبُ عَذَابَهٗٓ اَحَدٌ ۝۲۵ وَّ لَا يُوْثِقُ وَ ثَاقَهٗٓ اَحَدٌ ۝۲۶ يٰٓاَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ۝۲۷
ارْجِعِيْٓ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً ۝۲۸ فَادْخُلِيْ فِيْ عِبٰدِيْ ۝۲۹ وَ ادْخُلِيْ جَنَّتِيْ ۝۳۰ ع ۱ ۳۰ ۱۴

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

قسم آهي فجر جو ۽ ڏهن راتين جو، ٻڌيءَ ۽ اڪيءَ جو ۽ رات جو جڏهن موڪلائي رهي. هجي انهن ۾ عقل وارن لاءِ پورو قسم آهي. تو نه ڏٺو تنهنجي رب عاد سان ڇا معاملو ڪيو. ارم وڏن ٿنڀن وارن سان جن جهڙو ملڪن ۾ ڪونه بڻايو ويو ۽ ثمود سان جن ميدانن ۾ جبل ٽڪيا (۽ گهر ٺاهيا) ۽ ميخن واري فرعون سان انهن ملڪن ۾ سرڪشي ڪئي، پوءِ منجهن گهڻو فساد پکيڙيو. تنهن ڪري تنهنجي رب انهن مٿان عذاب جو چهبڪ وهايو. بيشڪ تنهنجو رب گهٽ (انتظار واري هنڌ) ۾ آهي، پوءِ انسان جو حال اهو آهي ته جڏهن سندن رب ان کي آزمائي ٿو ۽ کيس عزت ۽ نعمت ڏي ٿو ته هو چوندو آهي منهنجي رب مون کي عزت ڏني ۽ جڏهن هو ان کي آزمائي ٿو ۽ سندس رزق تنگ ڪري ٿو ته هو چوندو آهي ته منهنجي رب مون کي ذليل ڪيو. هرگز نه، بلڪ توهان يتيم جي عزت نه ٿا ڪريو ۽ توهان مسڪين کي کارائڻ تي هڪ ٻئي کي رغبت نه ٿا ڏياريو ۽ توهان ميراث جو سمورو مال ڳهي ويندا آهيو ۽ توهان مال سان گهڻي محبت رکو ٿا هرگز نه، جڏهن زمين کي ڪُٽي ڪُٽي سنهون ڪيو ويندو ۽ تنهنجو رب ايندو ۽ فرشتا صف صف ٿي ايندا ۽ ان ڏينهن جهنم کي آڻبو. ان ڏينهن انسان کي سمجهه ايندي ۽ ان مهل سمجهه اچڻ جو ڪهڙو فائدو. هو چوندو ڪاش! آئون پنهنجي زندگي ۾ ڪجهه اڳتي موڪليان ها. پوءِ ان ڏينهن الله جي عذاب جهڙو ڪو به عذاب ڪونه هوندو. نڪو الله جي قيد ڪرڻ جهڙو ڪو قيد ڪندو. اي مطمئن نفس! هل پنهنجي رب ڏانهن. تون ان کان راضي. هو توکان راضي. پوءِ شامل ٿي منهنجي ٻانهن ۾ ۽ داخل ٿي منهنجي جنت ۾. ۱-۳۰

دنيا ۾ ماڻهو کي ٻن قسمن جا احوال پيش ايندا آهن. ڪڏهن ڪاميابي ملندي آهي ۽ ڪڏهن ناڪامي. اهي ٻئي حالتون امتحان لاءِ آهن. اُهي ان جي آزمائش لاءِ آهن تہ ماڻهو ڪهڙي حالت ۾ ڪهڙو ردعمل پيش ڪري ٿو. جنهن ماڻهو جو معاملو اهو هجي تہ جڏهن ان کي ڪجهہ ملي تہ هو فخر ڪرڻ لڳي ۽ جڏهن ان کان ڪسجي تہ هو منفي نفسيات ۾ مبتلا ٿي وڃي، تہ اهڙو ماڻهو امتحان ۾ ناڪام ٿي ويو.

ٻيو انسان اُهو آهي جڏهن ان کي ڪاميابي ملي تہ الله جي سامهون جهڪي ان جو شڪر ادا ڪيو ۽ جڏهن ان کان ڪسيو ويو تہ ٻيهر ان الله جي اڳيان جهڪي پنهنجي عاجزي جو اقرار ڪيو. اهوئي ٻيو انسان آهي جنهن کي هتي نفس مطمئنہ چيو ويو آهي، يعني مطمئن روح.

مطمئن نفس جو مقام ان ماڻهو کي ملندو آهي جيڪو ڪائنات ۾ الله جي نشانين تي غور ڪري، جيڪو تاريخي واقعن مان عبرت ۽ نصيحت جي غذا وٺي سگهي. جيڪو ان ڳالهہ جو ثبوت ڏي تہ جڏهن ان جي ذات ۾ ۽ حق ۾ ٽڪراءُ ٿيندو تہ هو پنهنجي ذات کي نظرانداز ڪري ڇڏيندو ۽ حق کي قبول ڪري وٺندو. جيڪو هڪ دفعو حق کي مڃي وٺڻ کان پوءِ ان کي ڪڏهن نہ ڇڏيندو، چاهي ان جي ڪري ان کي پنهنجي پاڻ کي مٽائڻو پوي ۽ چاهي ان جي نتيجي ۾ سندس زندگي ويران ٿي وڃي.

آياتها ٢٠ — (٩٠) سُوْرَةُ الْبَلَدِ مَكِّيَّةٌ (٣٥) — رکوعاتها ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

لَآ اُقْسِمُ بِهٰذَا الْبَلَدِ ۝١ وَ اَنْتَ حِلٌّۢ بِهٰذَا الْبَلَدِ ۝٢ وَ وَالِدٍ وَّ مَا وَلَدَ ۝٣ لَقَدْ خَلَقْنَا
الْاِنْسَانَ فِيْ كَبَدٍ ۝٤ اَيَحْسَبُ اَنْ لَّنْ يَّقْدِرَ عَلَيْهِ اَحَدٌ ۝٥ يَقُوْلُ اَهْلَكْتُ مَالًا لُّبَدًا ۝٦
اَيَحْسَبُ اَنْ لَّمْ يَرَهٗٓ اَحَدٌ ۝٧ اَلَمْ نَجْعَلْ لَّهٗ عَيْنَيْنِ ۝٨ وَ لِسَانًا وَّ شَفَتَيْنِ ۝٩ وَ هَدَيْنٰهُ
النَّجْدَيْنِ ۝١٠ فَلَا اقْتَحَمَ الْعَقَبَةَ ۝١١ وَ مَآ اَدْرٰىكَ مَا الْعَقَبَةُ ۝١٢ فَكُّ رَقَبَةٍ ۝١٣ اَوْ اِطْعٰمٌ فِيْ
يَوْمٍ ذِيْ مَسْغَبَةٍ ۝١٤ يَّتِيْمًا ذَا مَقْرَبَةٍ ۝١٥ اَوْ مِسْكِيْنًا ذَا مَتْرَبَةٍ ۝١٦ ثُمَّ كَانَ مِنَ الَّذِيْنَ
اٰمَنُوْا وَ تَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ وَ تَوَاصَوْا بِالْمَرْحَمَةِ ۝١٧ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ ۝١٨ وَ الَّذِيْنَ
ع ١ ٢٠ ١٥ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا هُمْ اَصْحٰبُ الْمَشْئَمَةِ ۝١٩ عَلَيْهِمْ نَارٌ مُّؤْصَدَةٌ ۝٢٠

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

آئون قسم کڻان ٿو ان شهر جو ۽ تون ان شهر ۾ رهندڙ آهين ۽ قسم آهي ڄڻيندڙ جو ۽ سندس اولاد جو. اسان انسان کي مشقت ۾ پيدا ڪيو آهي. ڇا هو ڀائيندو آهي تہ ان تي ڪنهن جو زور نہ آهي. چوندو آهي تہ مون تمام گهڻو مال کپايو. ڇا هو سمجهي ٿو تہ ان کي ڪنهن نہ ڏٺو. ڇا اسان ڪيس ٻہ اکيون نہ ڏنيون آهن ۽ هڪ زبان ۽ ٻہ چپ ۽ اسان ان کي ٻہ رستا ڏيکاريا آهن، پوءِ هو ڏکئي لڪ نہ لنگهيو ۽ تو کي ڪهڙي خبر تہ اها لُڪ ڇا آهي. اهو ٻانهي جو آزاد ڪرڻ آهي يا بک جي ڏينهن ۾ کاڌو کارائڻ يتيم کي، جيڪو مٽ مائٽ هجي يا مٽي ۾ رلندڙ

محتاج ڪي. ان ڪان پوءِ اهو انهن ماڻهن مان هجي جن ايمان آندو ۽ هڪ ٻئي کي صبر ۽ رحم جي نصيحت ڪئي. اهي ئي ماڻهو نيڪ بخت ساڄي پاسي وارا آهن ۽ جيڪي اسان جي آيتن جا منڪر ٿيا، اُهي بدبخت کاٻي پاسي وارا آهن. انهن تي دميل باهه چوڌاري ويڙهيل آهي. ١-٢٠

انسان ڪنهن به حال ۾ پاڻ کي مشقتن ۽ ڏکن کان آزاد نه ٿو ڪري سگهي. ان مان معلوم ٿيو ته انسان ڪنهن بالاتر قوت جي ماتحت آهي. اهڙي طرح انسان جون اکيون ٻڌائين ٿيون ته ڪا متانهين اک به آهي، جيڪا ان کي ڏسي رهي آهي. اسان جي ڳالهائڻ جي قوت اشارو ڪري رهي آهي ته ان جي متان به هڪ ڳالهائڻ وارو آهي، جنهن ان کي ڳالهائڻ جي صلاحيت ڏني آهي ۽ ان کي هدايت جو رستو ٻڌايو آهي. ماڻهو جيڪڏهن حقيقي معنيٰ ۾ پاڻ کي سچاڻي وني ته يقيناً هو الله کي به سڃاڻي وٺندو.

الله انسان کي ٻن قسمن جي بلندين تي چڙهڻ جو حڪم ڏنو آهي، هڪ انسان سان انصاف جو سلوڪ ڪرڻ ۽ انسان جي ضرورتن ۾ ان جي ڪم اچڻ. ٻي شيءِ الله تي ايمان ۽ يقين آهي. اهو ايمان ۽ يقين جڏهن ماڻهو جي اندر گهرائي سان لهي ٿو ته اُهو ماڻهو کي پنهنجي ذات تائين محدود نه ٿو رهڻ ڏي، بلڪ اهڙو انسان ٻين کي به ان ئي حق تي آڻڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويندو آهي، جنهن کي ان پاڻ اختيار ڪيو آهي.

اٰياتها ١٥ (٩١) سُوۡرَةُ الشَّمۡسِ مَكِّيَّةٌ (٢٦) ركوعاتها ١

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

وَ الشَّمۡسِ وَ ضُحٰىهَا ﴿١﴾ وَ الۡقَمَرِ اِذَا تَلٰىهَا ﴿٢﴾ وَ النَّهَارِ اِذَا جَلّٰىهَا ﴿٣﴾ وَ الَّيۡلِ اِذَا
يَغۡشٰىهَا ﴿٤﴾ وَ السَّمَآءِ وَ مَا بَنٰىهَا ﴿٥﴾ وَ الۡاَرۡضِ وَ مَا طَحٰىهَا ﴿٦﴾ وَ نَفۡسٍ وَّ مَا سَوّٰىهَا ﴿٧﴾
فَاَلۡهَمَهَا فُجُوۡرَهَا وَ تَقۡوٰىهَا ﴿٨﴾ قَدۡ اَفۡلَحَ مَنۡ زَكّٰىهَا ﴿٩﴾ وَ قَدۡ خَابَ مَنۡ دَسّٰىهَا ﴿١٠﴾ كَذَّبَتۡ
ثَمُوۡدُ بِطَغۡوٰىهَاۤ ﴿١١﴾ اِذِ انۡۢبَعَثَ اَشۡقٰىهَا ﴿١٢﴾ فَقَالَ لَهُمۡ رَسُوۡلُ اللّٰهِ نَاقَةَ اللّٰهِ وَ سُقۡيٰهَا ﴿١٣﴾
ع ١٥ ١٦ فَكَذَّبُوۡهُ فَعَقَرُوۡهَا ۙ فَدَمۡدَمَ عَلَيۡهِمۡ رَبُّهُمۡ بِذَنۡۢبِهِمۡ فَسَوّٰىهَا ﴿١٤﴾ وَ لَا يَخَافُ عُقۡبٰهَا ﴿١٥﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

قسم آهي سج جو ۽ ان جي سوجهري جو ۽ چنڊ جو، جڏهن ان جي پٺيان اچي ۽ ڏينهن جو جڏهن (سج) ان کي روشن ڪري ۽ رات جو جڏهن اُها (سج) کي ڍڪي ۽ آسمان جو ۽ جنهن ان کي بڻايو ۽ زمين جو ۽ ان جو جنهن ان کي پکيڙيو ۽ جي (نفس) جو ۽ جنهن ان کي جوڙي برابر ڪيو، پوءِ ان کي سمجهه ڏني سندس بدڪاري جي ۽ سندس پرهيزگاري جي، مراد کي پهتو جنهن ان کي پاڪ ڪيو ۽ بي مراد ٿيو جنهن ان کي (گناهن) خاڪ ۾ ملايو. ثمود پنهنجي سرڪشي سبب ڪوڙو ڀانئيو، جڏهن انهن مان سڀني کان وڏيڪ بدبخت اُٿيو، پوءِ الله جي رسول کين چيو ته الله جي ڏاچي ۽ ان جي پاڻي پيئڻ کي آڏو نه ٿيو، پوءِ انهن ان کي ڪوڙو ڀانئيائون، پوءِ ڏاچي جون کُچون ڪپيائون، پوءِ سندن رب سندن گناهن سبب مٿن عذاب پلٽيو، پوءِ سڀني کي برابر ڪري ڇڏيائين، هو (الله) اُن (سزا) جي پڇاڙي کان نه ٿو ڊڄي. ١-١٥

انسان جي هدايت لاءِ ٽن قسمن جا انتظام ڪيا ويا آهن، هڪ پاسي ڪائنات اهڙي طرح ٺاهي وئي آهي جو اُها الله جي مرضي جو عملي اظهار بڻجي وئي آهي. ٻئي پاسي انسان جي اندر نيڪي ۽ بدي جو شعور رکيو ويو آهي. ان ڪان پوءِ وڌيڪ اهتمام اهو فرمايو ويو جو پيغمبرن ذريعي حق ۽ باطل، ظلم ۽ انصاف کي ماڻهن جي زبان ۾ واضح ڪري ٻڌايو ويو. ان ڪان پوءِ بہ جيڪي ماڻهو سڌي رستي نہ اچن تہ اهي بيشڪ ظالم آهن.

حضرت صالح عليه السلام جي ڏاچي هڪ لحاظ کان ان ڳالهہ جي علامت آهي تہ حقدار جو احترام ڪريو ۽ ان جو حق ادا ڪريو. چاهي هو بيوس ۽ ڪمزور ڇو نہ هجي. هڪ وجود جيڪو بظاهر محض "ڏاچي" نظر اچي رهيو آهي، عين ممڪن آهي تہ اِها الله جي نشاني هجي، جيڪا ماڻهن جي پرک لاءِ مقرر ڪئي وئي هجي.

آياتها ٢١ (٩٢) سُوۡرَةُ الَّيۡلِ مَكِّيَّةٌ (٩) رکوعاتها ١

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

وَ الَّيۡلِ اِذَا يَغۡشٰى ۙ﴿۱﴾ وَ النَّهَارِ اِذَا تَجَلّٰى ۙ﴿۲﴾ وَ مَا خَلَقَ الذَّكَرَ وَ الۡاُنۡثٰۤى ۙ﴿۳﴾ اِنَّ سَعۡيَكُمۡ
لَشَتّٰى ؕ﴿۴﴾ فَاَمَّا مَنۡ اَعۡطٰى وَ اتَّقٰى ۙ﴿۵﴾ وَ صَدَّقَ بِالۡحُسۡنٰى ۙ﴿۶﴾ فَسَنُيَسِّرُهٗ لِلۡيُسۡرٰى ؕ﴿۷﴾ وَ اَمَّا
مَنۡۢ بَخِلَ وَ اسۡتَغۡنٰى ۙ﴿۸﴾ وَ كَذَّبَ بِالۡحُسۡنٰى ۙ﴿۹﴾ فَسَنُيَسِّرُهٗ لِلۡعُسۡرٰى ؕ﴿۱۰﴾ وَ مَا يُغۡنِىۡ عَنۡهُ
مَالُهٗۤ اِذَا تَرَدّٰى ؕ﴿۱۱﴾ اِنَّ عَلَيۡنَا لَلۡهُدٰى ۫ۖ﴿۱۲﴾ وَ اِنَّ لَنَا لَلۡاٰخِرَةَ وَ الۡاُوۡلٰى ﴿۱۳﴾ فَاَنۡذَرۡتُكُمۡ نَارًا
تَلَظّٰى ۚ﴿۱۴﴾ لَا يَصۡلٰىهَاۤ اِلَّا الۡاَشۡقَى ۙ﴿۱۵﴾ الَّذِىۡ كَذَّبَ وَ تَوَلّٰى ؕ﴿۱۶﴾ وَ سَيُجَنَّبُهَا الۡاَتۡقَى ۙ﴿۱۷﴾ الَّذِىۡ
يُؤۡتِىۡ مَالَهٗ يَتَزَكّٰى ۚ﴿۱۸﴾ وَ مَا لِاَحَدٍ عِنۡدَهٗ مِنۡ نِّعۡمَةٍ تُجۡزٰٓى ۙ﴿۱۹﴾ اِلَّا ابۡتِغَآءَ وَجۡهِ رَبِّهِ
الۡاَعۡلٰى ۚ﴿۲۰﴾ وَ لَسَوۡفَ يَرۡضٰى ﴿۲۱﴾ ع ٢١ ١٧

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

قسم آهي رات جو، جڏهن اها ڍڪي ٿي ۽ ڏينهن جو، جڏهن هو روشن ٿئي ۽ انهيءَ جو جنهن نر ۽ مادي کي خلقيو، جو توهان جون ڪوششون جدا جدا آهن. جنهن ڏنو ۽ هو ڊنو ۽ هن چڱائي کي سچ ڄاتو تہ ان کي اسان آسان رستي جي سهولت ڏينداسون ۽ جنهن بخل ڪيو ۽ بي پرواهہ رهيو ۽ چڱائي کي ڪوڙ ڀانيائين تہ اسان ان کي سخت رستي جي سهولت ڏينداسون ۽ سندس مال ڪيس ڪم نہ ايندو، جڏهن هو ڪڏ ۾ ڪرندو. بيشڪ اسان جي ذمي آهي راهہ ڏيکارڻ ۽ بيشڪ اسان جي اختيار ۾ آهي آخرت ۽ دنيا. پوءِ مون توهان کي ڀڙڪندڙ باهہ کان. ان ۾ اهو ئي گهڙندو جيڪو وڏو بدبخت هوندو. جنهن ڪوڙ ڄاتو ۽ منهن موڙيو ۽ ان کان محفوظ رکيو ويندو وڏي پرهيزگار کي جيڪو پنهنجو مال ڏي ٿو، تہ جيئن پاڪ ٿئي ۽ ان تي ڪنهن جو بہ احسان نہ آهي جو ان جو بدلو ڏيڻو هجي. پر صرف پنهنجي رب جي رضامندي لاءِ (ڏي ٿو) ۽ هو جلد خوش ٿيندو. ١-٢١

دنيا ۾ سيئي شيون جوڙا جوڙا آهن. نر ۽ مادي، رات ۽ ڏينهن، مثبت ذرو ۽ منفي ذرو، مادو ۽ غير مادو. هن دنيا جي هر شيءِ پنهنجي جوڙي سان گڏ ملي پنهنجو مقصد پورو ڪندي آهي. اهو واضح طور تي ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته هن ڪائنات جو ڪو مقصد آهي. اهڙي بامقصد ڪائنات ۾ اهو ناممڪن آهي ته هتي چڱي عمل ۽ بري عمل جو انجام هڪ جهڙي انجام تي ختم ٿئي. ڪائنات پنهنجي خالق جو جيڪو تعارف ڪرائي رهي آهي ان سان اها ڳالهه مطابقت نٿي رکي.

الله جو تعلق پنهنجن ٻانهن سان صرف حاڪم جو نه آهي، بلڪ مددگار جو به آهي. هو پنهنجن انهن ٻانهن جو رستو آسان ڪندو آهي، جيڪي ان ڏانهن هلڻ چاهين. ان جي ابتڙ جيڪي ماڻهو سرڪشي جو رستو اختيار ڪن، هو انهن کي سرڪشي جي رستي تي هلڻ لاءِ ڇڏي ڏيندو آهي.

ركوعاتها ١	(٩٣) سُوْرَةُ الضُّحٰى مَكِّيَّةٌ (١١)	اٰياتها ١١

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

وَ الضُّحٰى ۙ﴿۱﴾ وَ الَّيۡلِ اِذَا سَجٰى ۙ﴿۲﴾ مَا وَدَّعَكَ رَبُّكَ وَ مَا قَلٰى ؕ﴿۳﴾ وَ لَلۡاٰخِرَةُ خَيۡرٌ لَّكَ مِنَ
الۡاُوۡلٰى ؕ﴿۴﴾ وَ لَسَوۡفَ يُعۡطِيۡكَ رَبُّكَ فَتَرۡضٰى ؕ﴿۵﴾ اَلَمۡ يَجِدۡكَ يَتِيۡمًا فَاٰوٰى ۪﴿۶﴾ وَ وَجَدَكَ ضَآلًّا
فَهَدٰى ۪﴿۷﴾ وَ وَجَدَكَ عَآئِلًا فَاَغۡنٰى ؕ﴿۸﴾ فَاَمَّا الۡيَتِيۡمَ فَلَا تَقۡهَرۡ ؕ﴿۹﴾ وَ اَمَّا السَّآئِلَ فَلَا
ع ١ ١١ ١٨ تَنۡهَرۡ ؕ﴿۱۰﴾ وَ اَمَّا بِنِعۡمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثۡ ﴿۱۱﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

قسم آهي روشن ڏينهن جو ۽ رات جو جڏهن هو ڍڪي ٿي. تنهنجي رب توکي نه ڇڏيو ۽ نه توکان ناراض ٿيو ۽ بيشڪ آخرت تو لاءِ دنيا کان بهتر آهي ۽ سگهوئي الله توکي ڏيندو، پوءِ تون راضي ٿي ويندين. ڇا الله توکي يتيم نه ڏٺو، پوءِ جاءِ ڏنائين ۽ توکي ناواقف ڏٺائين، پوءِ راهه ڏيکاريائين ۽ توکي مسڪين ڏٺائين ته آسودو ڪيائين. تنهن ڪري تون يتيم تي سختي نه ڪر ۽ سوالي کي نه جهڙڪ ۽ تون پنهنجي رب جي نعمت بيان ڪر. ١-١١

---

هن دنيا جو نظام اهڙي طرح ٺاهيو ويو آهي جو هتي ڏينهن به اچي ٿو ۽ رات به. ٻنهي جي ملڻ سان هتي جو نظام مڪمل ٿيندو آهي. اهڙي طرح انسان جي ارتقا (ترقي) لاءِ به سختي ۽ نرمي ٻنهي جو هجڻ ضروري آهي. هن دنيا ۾ هڪ الله جي ٻانهي کي سختي جون حالتون ان ڪري پيش اينديون آهن جو سندس ڳجهون صلاحيتون بيدار ٿين. ان جي رستي ۾ رڪاوٽون ان ڪري پيدا ڪيون وينديون آهن ته جيئن ان جو مستقبل سندس حال کان بهتر ٿي سگهي.

رسول الله ﷺ يتيم پيدا ٿيا. پوءِ الله تعاليٰ پاڻ ﷺ کي بهترين سرپرست عطا فرمايو. پاڻ ﷺ حق جي تلاش ۾ هئا، پوءِ الله تعاليٰ پاڻ ﷺ لاءِ حق جو دروازو کولي ڇڏيو. پاڻ ﷺ وٽ بظاهر مال ملڪيت نه هو، پوءِ الله تعاليٰ پاڻ ﷺ کي سندس زال (خديجه جي ذريعي صاحب مال بڻايو). اهو هڪ تاريخي مثال آهي، جيڪو ٻڌائي ٿو ته الله تعاليٰ ڪهڙي طرح پنهنجن ٻانهن جي مدد ڪري ٿو.

انسان کي گهرجي تہ هو ڪمزورن جي مدد ڪري، تہ جيئن هو الله جي مدد جو مستحق ٿئي.
انسان جو ڪلام الله جي نعمتن جي اعتراف جو ڪلام هجي، تہ جيئن الله ان تي پنهنجن نعمتن جي عطا پوري ڪري.

اٰياتها ٨ (٩٤) سُوۡرَةُ اَلَمۡ نَشۡرَحۡ مَكِّيَّةٌ (١٢) رکوعاتها ١

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلَمۡ نَشۡرَحۡ لَكَ صَدۡرَكَ ۝١ وَ وَضَعۡنَا عَنۡكَ وِزۡرَكَ ۝٢ الَّذِيۡۤ اَنۡقَضَ ظَهۡرَكَ ۝٣ وَ رَفَعۡنَا
لَكَ ذِكۡرَكَ ۝٤ فَاِنَّ مَعَ الۡعُسۡرِ يُسۡرًا ۝٥ اِنَّ مَعَ الۡعُسۡرِ يُسۡرًا ۝٦ فَاِذَا فَرَغۡتَ فَانۡصَبۡ ۝٧
ع وَاِلٰى رَبِّكَ فَارۡغَبۡ ۝٨
١٩

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

ڇا اسان تنهنجو سينو تو لاءِ ڪشادو نہ ڪيو ۽ تنهنجو اهو بار توکان لاٿوسون جنهن تنهنجي پٺي کي جهڪائي ڇڏيو هو ۽ اسان تنهنجي ساراهہ کي بلند ڪيو، پوءِ مشڪل سان گڏ آساني آهي. بيشڪ مشڪل سان گڏ آساني آهي، تنهن ڪري جڏهن واندو ٿين تہ محنت ڪر ۽ پنهنجي رب ڏانهن دل لڳاءِ . ١-٨

رسول اللهﷺ حقيقت ڄاڻڻ لاءِ تڙپي رهيا هئا. الله تعاليٰ پاڻﷺ کي حقيقت جو علم ڏئي پاڻﷺ جي تلاش کي معرفت ۾ بدلائي ڇڏيو. حق جي معرفت لاءِ پاڻﷺ جو سينو کلي ويو، پوءِ پاڻﷺ مڪي ۾ توحيد جي دعوت شروع ڪئي تہ بظاهر سخت مخالفت آڏو آئي. پر انهن مخالفتن جي ذريعي ايئن ٿيو جو پاڻﷺ جي شهرت سڄي ملڪ ۾ پکڙجي ويئي.
اهوئي موجوده دنيا لاءِ الله جو قانون آهي. هتي شروع ۾ انسان کي مشڪل حالتون پيش ايندڙيون آهن، پر جيڪڏهن هو صبر سان حق تي ثابت قدم رهي تہ اهي مشڪلون ان لاءِ آساني تائين پهچڻ جي ڏاڪڻ بڻجي وينديون آهن. تنهن ڪري انسان کي گهرجي تہ هو هميشہ الله ڏانهن ڏسي ۽ پنهنجي طاقت جي بقدر پنهنجي ڪوشش برابر جاري رکي.

اٰياتها ٨ (٩٥) سُوۡرَةُ التِّيۡنِ مَكِّيَّةٌ (٢٨) رکوعاتها ١

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

وَ التِّيۡنِ وَ الزَّيۡتُوۡنِ ۝١ وَ طُوۡرِ سِيۡنِيۡنَ ۝٢ وَ هٰذَا الۡبَلَدِ الۡاَمِيۡنِ ۝٣ لَقَدۡ خَلَقۡنَا الۡاِنۡسَانَ فِيۡۤ
اَحۡسَنِ تَقۡوِيۡمٍ ۝٤ ثُمَّ رَدَدۡنٰهُ اَسۡفَلَ سٰفِلِيۡنَ ۝٥ اِلَّا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ
ع فَلَهُمۡ اَجۡرٌ غَيۡرُ مَمۡنُوۡنٍ ۝٦ فَمَا يُكَذِّبُكَ بَعۡدُ بِالدِّيۡنِ ۝٧ اَلَيۡسَ اللّٰهُ بِاَحۡكَمِ الۡحٰكِمِيۡنَ ۝٨

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

قسم آهي انجير ۽ زيتون جو ۽ طورسينا جو ۽ هن امن واري شهر جو. اسان انسان کي سهڻي انداز ۾ پيدا ڪيو، پوءِ ان کي سڀني هيٺانهين ڪان هيٺ موٽايو، پر جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ته انهن لاءِ اڻ کٽ اجر آهي، پوءِ ڪهڙي شيءِ توکي بدلي ملڻ بابت منڪر بڻايو آهي. ڇا الله سڀني حاڪمن کان وڏو حاڪم نه آهي. ١-٨

تين ۽ زيتون ٻن جبلن جا نالا آهن جن جي ويجهو بيت المقدس آهي. يعني حضرت مسيح عليه السلام جي عمل جو مقام، طورسين مان مراد اهو جبل آهي جتي حضرت موسيٰ عليه السلام تي الله وحي نازل ڪئي. بلد امين مان مراد مڪو آهي جتي پيغمبر صلي الله عليه وسلم اسلام موڪليا ويا.

الله تعاليٰ انسان کي بهترين صلاحيتن سان پيدا ڪيو آهي، اهي صلاحيتون ان لاءِ آهن جو انسان پيغمبرن ذريعي ظاهر ٿيڻ واري حق کي سچائي ۽ پنهنجي زندگي کي ان مطابق بڻائي. جيڪي ماڻهو ائين ڪندا، اهي عزت ۽ بلندي جو ابدي مقام حاصل ڪندا. ان جي ابتڙ جيڪي ماڻهو پنهنجي الله جي ڏنل صلاحيتن کي الله جي مرضي جي تابع نه ڪندا. انهن کان موجوده نعمتون به کسجي وينديون ۽ ڪامل محرومي کان سواءِ ڪا جاءِ نه هوندي جتي ڪين ٺڪاڻو ملي سگهي. پيغمبرن جي رسالت ۽ پيغمبرن ذريعي ظاهر ٿيڻ وارا نتيجا ان انجام جي صداقت تي شاهدي ڏيئي رهيا آهن.

ايَاتها ١٩ (٩٦) سُوْرَةُ الْعَلَقِ مَكِّيَّةٌ (١) رکوعاتها ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِيْ خَلَقَ ١ خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ عَلَقٍ ٢ اِقْرَاْ وَ رَبُّكَ الْاَكْرَمُ ٣
الَّذِيْ عَلَّمَ بِالْقَلَمِ ٤ عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَا لَمْ يَعْلَمْ ٥ كَلَّآ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَيَطْغٰٓى ٦ اَنْ رَّاٰهُ
اسْتَغْنٰى ٧ اِنَّ اِلٰى رَبِّكَ الرُّجْعٰى ٨ اَرَءَيْتَ الَّذِيْ يَنْهٰى ٩ عَبْدًا اِذَا صَلّٰى ١٠ اَرَءَيْتَ اِنْ
كَانَ عَلَى الْهُدٰٓى ١١ اَوْ اَمَرَ بِالتَّقْوٰى ١٢ اَرَءَيْتَ اِنْ كَذَّبَ وَ تَوَلّٰى ١٣ اَلَمْ يَعْلَمْ بِاَنَّ اللّٰهَ
يَرٰى ١٤ كَلَّا لَىِٕنْ لَّمْ يَنْتَهِ ۙ۬ لَنَسْفَعًۢا بِالنَّاصِيَةِ ١٥ نَاصِيَةٍ كَاذِبَةٍ خَاطِئَةٍ ١٦ فَلْيَدْعُ
نَادِيَهٗ ١٧ سَنَدْعُ الزَّبَانِيَةَ ١٨ كَلَّا ؕ لَا تُطِعْهُ وَ اسْجُدْ وَ اقْتَرِبْ ١٩ ع السجدة ١٩ ٢١

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

پڙهه پنهنجي رب جي نالي سان جنهن پيدا ڪيو. پيدا ڪيو انسان کي جميل رت مان. پڙهه ۽ تنهنجو رب وڏو ڪريم آهي، جنهن علم سيکاريو قلم سان انسان کي. اهو ڪجهه سيکاريو جيڪو نه ڄاڻندو هو. هر گز نه. انسان سرڪشي ڪندو آهي ان سبب جو هو پاڻ کي بي نياز ڏسندو آهي. بيشڪ تنهنجي رب ڏانهن ئي موٽڻ آهي، ڇا تو ڏٺو ان شخص کي جيڪو منع ڪري ٿو هڪ ٻانهي کي جڏهن هو نماز پڙهي ٿو، تنهنجو ڇا خيال آهي جيڪڏهن هو هدايت تي هجي يا پرهيزگاري جو حڪم ڪندو هجي، تنهنجو ڇا خيال آهي جيڪڏهن ان ڪوڙ ڀانئيو ۽ پٺيرو ٿيو. ڇا ان نه ڄاتو ته الله ڏسي رهيو آهي، هر گز نه، جيڪڏهن هو باز نه آيو ته اسان پيشاني جي وارن

ڪان وٺي گهليندا سون. اُها پيشاني جيڪا ڪوڙي گنهگار آهي. پوءِ پلي هو سڏي پنهنجن سنگتين کي. اسان بہ دوزخ جي فرشتن کي سڏينداسون. هرگز نہ. سندس ڳالهہ نہ مڃ ۽ سجدو ڪر ۽ ويجهو ٿي. ١-١٩

---

هن سورت جون ابتدائي پنج آيتون اُهي آهن جيڪي پيغمبرالاسلام ﷺ تي سڀني ڪان پهرين نازل ٿيون. انسان کي الله تعاليٰ معمولي مادي جزن مان پيدا ڪيو. پوءِ ان کي اها نادر صلاحيت ڏني تہ هو پڙهي سگهي ۽ لفظن ذريعي معنيٰ کي سمجهي سگهي. پوءِ انسان کي اها وڌيڪ صلاحيت ڏني وئي تہ هو قلم کي استعمال ڪري ۽ اهڙي طرح پنهنجي علم کي لکي محفوظ ڪري سگهي. قرائت جي صلاحيت ماڻهو کي خود پڙهڻ جي قابل بڻائي ٿي ۽ قلم ماڻهو کي ان قابل بڻائي ٿو جو هو پنهنجي علم کي وسيع پيماني تي ٻين تائين پهچائي سگهي.

جيڪي ماڻهو حق جي مقابلي ۾ سرڪشي ڪن ۽ حق جو رستو اختيار ڪرڻ وارن جي راهہ ۾ رڪاوٽون وجهن، انهن جو انجام تمام برو آهي. اهڙين حالتن ۾ حق جي داعي جو اصل سهارو اِهو آهي تہ هو الله جي عبادت ڪري، جنهن شيءِ ڪان ماڻهو هن کي محروم ڪن، اُها هو الله ڪان وٺي. هو ماڻهن ڪان پري ٿي الله جي ويجهو ٿي وڃي.

ايا تها ٥ (٩٧) سُوْرَةُ الْقَدْرِ مَكِّيَّةٌ (٢٥) رڪوعاتها ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اِنَّاۤ اَنْزَلْنٰهُ فِيْ لَيْلَةِ الْقَدْرِ ۝١ وَ مَاۤ اَدْرٰىكَ مَا لَيْلَةُ الْقَدْرِ ۝٢ لَيْلَةُ الْقَدْرِ خَيْرٌ مِّنْ اَلْفِ
شَهْرٍ ۝٣ تَنَزَّلُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَ الرُّوْحُ فِيْهَا بِاِذْنِ رَبِّهِمْ مِنْ كُلِّ اَمْرٍ ۝٤ سَلٰمٌ هِيَ حَتّٰى
مَطْلَعِ الْفَجْرِ ۝٥ ع

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

اسان ان کي (قرآن) شب قدر ۾ لاٿو آهي ۽ تو کي ڪهڙي خبر تہ شب قدر ڇا آهي. شب قدر هزار مهينن ڪان بهتر آهي. فرشتا ۽ روح ان ۾ پنهنجي رب جي اجازت سان لهندا آهن. هر حڪم ڪٽي ڪري. اها رات سراسر سلامتي آهي پرهہ ڦٽڻ تائين. ١-٥

---

سال جي هڪ خاص رات (غالباً) رمضان جي مهيني جي آخري ڏهاڪي جي ڪا رات الله تعاليٰ وٽ فيصلي جي رات آهي. دنيا جي انتظام متعلق جيڪي ڪم ان سال ۾ مقدر آهن. انهن جي نفاذ جي لاءِ ان رات ۾ فرشتا لهندا آهن. ان قسم جي هڪ خاص رات ۾ قرآن نازل ٿيڻ شروع ٿيو.

بظاهر ايئن معلوم ٿيندو آهي تہ ان رات جو زمين تي فرشتن جي ڪثرت هوندي آهي. ان ڪري زمين تي خاص طرح جو روحاني ماحول پيدا ٿيندو آهي. پوءِ جن ماڻهن جي اندر روحانيت بيدار هوندي آهي، اهي ان مان متاثر ٿيندا آهن ۽ ان جي نتيجي ۾ سندن اندر غيرمعمولي روحاني اثر پيدا ٿي ويندو آهي. جيڪو سندن دين جي عمل جي قدر ۽ قيمت کي عام حالتن ڪان تمام گهڻو وڌائي ڇڏيندو آهي.

اٰياتها ٨ (٩٨) سُوْرَةُ الْبَيِّنَةِ مَدَنِيَّةٌ (١٠٠) ركوعاتها ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

لَمْ يَكُنِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَ الْمُشْرِكِيْنَ مُنْفَكِّيْنَ حَتّٰى تَاْتِيَهُمُ
الْبَيِّنَةُ ۝١ رَسُوْلٌ مِّنَ اللّٰهِ يَتْلُوْا صُحُفًا مُّطَهَّرَةً ۝٢ فِيْهَا كُتُبٌ قَيِّمَةٌ ۝٣ وَ مَا تَفَرَّقَ
الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنَةُ ۝٤ وَ مَآ اُمِرُوْٓا اِلَّا لِيَعْبُدُوا اللّٰهَ
مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ۙ۬ حُنَفَآءَ وَ يُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ يُؤْتُوا الزَّكٰوةَ وَ ذٰلِكَ دِيْنُ الْقَيِّمَةِ ۝٥
اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَ الْمُشْرِكِيْنَ فِيْ نَارِ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ اُولٰٓئِكَ
هُمْ شَرُّ الْبَرِيَّةِ ۝٦ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمْ خَيْرُ الْبَرِيَّةِ ۝٧
جَزَآؤُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ
ع ٢٢ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَ رَضُوْا عَنْهُ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ خَشِيَ رَبَّهٗ ۝٨

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

ڪتاب وارن ۽ مشرڪن مان جن ماڻهن انڪار ڪيو اهي باز اچڻ وارا نہ آهن، جيستائين انهن وٽ واضح دليل نہ اچي وڃي. الله جي طرفان هڪ رسول جيڪو پاڪ صحيفا پڙهي ٻڌائي جن ۾ درست حڪم (مضمون) لکيل هجي ۽ جن کي ڪتاب ڏنو ويو هو، اهي واضح دليل اچڻ ڪان پوءِ مختلف ٿي ويا، حالانڪ کين اهو ئي حڪم ڏنو ويو هو تہ هو الله جي عبادت ڪن ان لاءِ دين کي خالص ڪندي ۽ هڪ طرفو ٿي نماز قائم ڪن ۽ زڪوات ادا ڪن ۽ اهوئي درست دين آهي. بيشڪ ڪتاب وارن ۽ مشرڪن مان جن ماڻهن ڪفر ڪيو، اهي دوزخ جي باهہ ۾ پوندا، هميشہ ان ۾ رهندا، اهي ماڻهو بدترين مخلوق آهن. جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن چڱا ڪم ڪيا، اهي بهترين مخلوق آهن. سندن بدلو سندن رب وٽ هميشہ رهڻ وارا باغ آهن. جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون. انهن ۾ اهي هميشہ هميشہ رهندا. الله انهن ڪان راضي ۽ اهي ان ڪان راضي. هي ان شخص لاءِ آهي جيڪو پنهنجي رب ڪان ڊنو. ١-٨

---

عرب جا مشرڪ ۽ ڪتاب وارا رسول الله ﷺ کي چوندا هئا تہ توهان کو معجزو ڏيکاريو يا فرشتو آسمان مان لهي ۽ اسان سان ڪلام ڪري، تڏهن اسان پاڻ ﷺ جي رسالت کي مڃينداسون. پر اهڙي قسم جي مطالبي ڪرڻ وارا همش غيرسنجيده هوندا آهن. اڳين ماڻهن بہ اهڙي قسم جا مطالبا ڪيا، پر مطالبو پورو ٿيڻ جي باوجود اهي مؤمن نہ بڻجي سگهيا. الله جو سڌو دين اهو آهي تہ ماڻهو هڪ الله جي عبادت ڪري، هو دل سان الله کي چاهي، هو نماز قائم ڪري ۽ زڪوات ادا ڪري. اهوئي الله طرفان موڪليل اصل دين آهي. سيني ماڻهن ۾ ڀلا ماڻهو اُهي آهن، جيڪي ان دين کي اختيار ڪن ۽ سيني کان بڇڙا ماڻهو اُهي آهن جيڪي ان سڌي سنئين دين کي اختيار نہ ڪن يا ان ڪان سواءِ ٻيو ڪو دين ٺاهي وٺن ۽ ان هٿ ٺوڪيل دين کي سڌي دين جو نالو ڏئي ڇڏين.

اياتها ٨ (٩٩) سُوْرَةُ الزِّلْزَالِ مَدَنِيَّةٌ (٩٣) رڪوعاتها ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اِذَا زُلْزِلَتِ الْاَرْضُ زِلْزَالَهَا ۝١ وَ اَخْرَجَتِ الْاَرْضُ اَثْقَالَهَا ۝٢ وَ قَالَ الْاِنْسَانُ مَا لَهَا ۝٣
يَوْمَئِذٍ تُحَدِّثُ اَخْبَارَهَا ۝٤ بِاَنَّ رَبَّكَ اَوْحٰى لَهَا ۝٥ يَوْمَئِذٍ يَّصْدُرُ النَّاسُ اَشْتَاتًا ۙ لِّيُرَوْا
اَعْمَالَهُمْ ۝٦ فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ ۝٧ وَ مَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ۝٨ ع ٢٤

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

جڏهن زمين پنهنجي سخت ڌوڏڻ سان ڌوڏبي ۽ زمين پنهنجا بار ٻاهر ڪيندي ۽ انسان چوندو ته ان کي ڇا ٿيو آهي. ان ڏينهن هو پنهنجون سڀ خبرون بيان ڪندي. ان ڪري تنهنجي رب جو ان کي اهوئي حڪم هوندو. ان ڏينهن ماڻهو ڌار ڌار ٿي ورندا، ته جيئن سندن عمل کين ڏيکاريا وڃن. پوءِ جنهن شخص ذري برابر نيڪي ڪئي هوندي اُهو ان کي ڏسندو ۽ جنهن شخص ذري برابر بدي (برائي) ڪئي هوندي، اُهو ان کي ڏسندو. ١-٨

قيامت جو زلزلو امتحان جي مهلت ختم ٿيڻ جو اعلان هوندو. ان جو مطلب اهو هوندو ته ماڻهن کان اها آزادي کسجي ويئي جيڪا امتحان جي مصلحت سبب کين حاصل هئي. هاڻي اهو وقت اچي ويو جڏهن ماڻهن کي سندن عملن جو بدلو ڏنو وڃي. اڄ الله جي دنيا بظاهر خاموش آهي، پر جڏهن حالتون بدلجي وينديون ته هتي هر شيءِ ڳالهائڻ لڳندي. موجوده زماني جي ايجادن ثابت ڪيو آهي ته بي جان شيون بہ "ڳالهائڻ" جي صلاحيت رکنديون آهن. اسٽوڊيو ۾ ڪيل عمل کي فلم ۾ رڪارڊنگ پوري طرح دهرائي ڇڏينديون آهن. اهڙي طرح موجوده دنيا ڄڻ تمام وڏو خدائي اسٽوڊيو آهي. ان جي اندر انسان جيڪو ڪجھ ڪندو آهي يا جيڪو ڪجھ ڳالهائيندو آهي، اُهو سڀ هر لمحي محفوظ ٿي رهيو آهي. پوءِ جڏهن وقت ايندو ته هر ڪنهن جي کاٽي کي اها دنيا اهڙي طرح دهرائي ٻڌائيندي جو ڪا بہ ڳالھ رهجي نہ ويندي. چاهي اها ننڍي هجي يا وڏي .

اياتها ١١ (١٠٠) سُوْرَةُ الْعٰدِيٰتِ مَكِّيَّةٌ (١٤) رڪوعاتها ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

وَ الْعٰدِيٰتِ ضَبْحًا ۝١ فَالْمُوْرِيٰتِ قَدْحًا ۝٢ فَالْمُغِيْرٰتِ صُبْحًا ۝٣ فَاَثَرْنَ بِهٖ نَقْعًا ۝٤
فَوَسَطْنَ بِهٖ جَمْعًا ۝٥ اِنَّ الْاِنْسَانَ لِرَبِّهٖ لَكَنُوْدٌ ۝٦ وَ اِنَّهٗ عَلٰى ذٰلِكَ لَشَهِيْدٌ ۝٧ وَ اِنَّهٗ لِحُبِّ
الْخَيْرِ لَشَدِيْدٌ ۝٨ اَفَلَا يَعْلَمُ اِذَا بُعْثِرَ مَا فِي الْقُبُوْرِ ۝٩ وَ حُصِّلَ مَا فِي الصُّدُوْرِ ۝١٠ اِنَّ
رَبَّهُمْ بِهِمْ يَوْمَئِذٍ لَّخَبِيْرٌ ۝١١ ع ٢٥

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

قسم آهي هانبارو هٽي ڊوڙندڙ گهوڙن جو. پوءِ سنبن سان چڻنگون ڪيندڙن جو. پوءِ صبح جي مهل ڇاپو هڻندڙ (گهوڙن) جو. پوءِ ان مهل گرد ۾ غبار اڏائيندڙن جو. پوءِ ان وقت لشڪر جي وچ ۾ پوندڙن جو. بيشڪ انسان پنهنجي رب جو وڏو بي شڪر آهي ۽ هو خود ان تي شاهد آهي ۽ هو مال جي محبت ۾ ڏاڍو آهي. ڇا هو ان وقت کي نه ٿو ڄاڻي جڏهن انهن کي اٿاريو ويندو جيڪي قبرن ۾ آهن ۽ ظاهر ڪيو ويندو جيڪو سينن ۾ آهي. بيشڪ ان ڏينهن سندن رب سندن (حال) کان پوري طرح باخبر آهي. ١-١١

---

گهوڙو هڪ نهايت وفادار جانور آهي. هو پنهنجي مالڪ لاءِ پاڻ کي قربان ڪري ڇڏيندو آهي. ايستائين جو جنگ جي ميدان ۾ به هو پنهنجي مالڪ جو ساٿ نه ٿو ڇڏي. اهو ڄڻ هڪ علامتي مثال آهي، جيڪو انسان کي ٻڌائي ٿو ته ان کي ڪيئن هئڻ گهرجي. انسان کي به پنهنجي رب جو اهڙي طرح وفادار هئڻ گهرجي جهڙي طرح گهوڙو انسان جو وفادار آهي، پر عملن ايئن نه ٿيندو آهي.

هن دنيا ۾ جانور پنهنجي مالڪ جو شڪرگذار آهي، پر انسان پنهنجي رب جو شڪرگذار نه آهي، هتي جانور پنهنجي مالڪ جو حق سڃاڻي ٿو، پر انسان پنهنجي رب جو حق نه ٿو سڃاڻي. هتي جانور پنهنجي مالڪ جي اطاعت ڪري ٿو. پر انسان پنهنجي رب جي اطاعت ۾ سرگرم نه آهي.

انسان ان ئي جانور جو قدر ڪندو آهي جيڪو ان جو وفادار هجي، پوءِ ڪيئن ممڪن آهي جو هو ان راز کي نه ڄاڻي ته خدا وٽ اهوئي انسان قابل قدر هوندو جيڪو خدا جي نظر ۾ سندس وفادار ثابت ٿئي. پر مال جي محبت ان کي انڌو بڻائي ڇڏي ٿي. هو هڪ اهڙي حقيقت کي سمجهڻ کان محروم رهي ٿو، جنهن جو هو خود جانورن جي وفاداري جي صورت ۾ تجربو ڪري چڪو هو.

اٰياتها ١١ (١٠١) سُوْرَةُ الْقَارِعَةِ مَكِّيَّةٌ (٣٠) رڪوعاتها ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْقَارِعَةُ ۙ ﴿١﴾ مَا الْقَارِعَةُ ۚ ﴿٢﴾ وَ مَآ اَدْرٰىكَ مَا الْقَارِعَةُ ۭ ﴿٣﴾ يَوْمَ يَكُوْنُ النَّاسُ كَالْفَرَاشِ
الْمَبْثُوْثِ ۙ ﴿٤﴾ وَتَكُوْنُ الْجِبَالُ كَالْعِهْنِ الْمَنْفُوْشِ ۭ ﴿٥﴾ فَاَمَّا مَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِيْنُهٗ ۙ ﴿٦﴾ فَهُوَ فِيْ عِيْشَةٍ
رَّاضِيَةٍ ۭ ﴿٧﴾ وَاَمَّا مَنْ خَفَّتْ مَوَازِيْنُهٗ ۙ ﴿٨﴾ فَاُمُّهٗ هَاوِيَةٌ ۭ ﴿٩﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَاهِيَهْ ۭ ﴿١٠﴾ نَارٌ حَامِيَةٌ ۧ ﴿١١﴾ ع ١ ٢٦

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

سخت ڪڙڪائيندڙ. ڇا آهي. (اُها) سخت ڪڙڪائيندڙ ۽ تون ڇا ٿو سمجهين ڇا آهي. اها سخت ڪڙڪائيندڙ جنهن ڏينهن ماڻهو پتنگن وانگر پکڙيل هوندا ۽ جبل رڱيل اُن وانگر هوندا. پوءِ جنهن شخص جا پڙ ڳرا هوندا، اُهو پسند ڪيل آرام ۾ هوندو ۽ جنهن شخص جا پڙ هلڪا هوندا، تنهن جي جاءِ کڏ آهي ۽ تون ڇا ٿو سمجهين ته اها ڇا آهي. هڪ ٻرندڙ باهه آهي. ١-١١

---

قيامت جو زلزلو هر شيءِ کي ٽوڙي ڇڏيندو. ماڻهن جو استحڪام تباهه ٿي ويندو. ان کان پوءِ هڪ نئين دنيا ٺاهي ويندي جتي سچو وزن صرف حق کي هوندو، باقي سڀئي شيون پنهنجو وزن وڃائي

ڇڏينديون. موجوده دنيا ۾ انسانن جي پسند جو رواج آهي. هتي انسانن جي نسبت سان شين جي قيمت قائم ڪئي ويندي آهي. آخرت جي دنيا الله تعاليٰ جي دنيا آهي. اتي الله تعاليٰ جي پسند جي لحاظ کان هڪ شيءِ وزن واري هوندي ۽ ٻي شيءِ بلڪل بي وزن ٿي رهجي ويندي .

دنيا ۾ عملن جو وزن ظاهر جي لحاظ کا هوندو آهي، آخرت ۾ عملن جو وزن سندن اندروني حقيقت جي لحاظ کان هوندو. جنهن ماڻهو جي عمل ۾ جيترو گهڻو اخلاص هوندو، اوتروئي گهڻو وزني قرار ڏنو ويندو. جيڪو عمل اخلاص کان خالي هوندو، اهو آخرت ۾ بلڪل بي وزن ٿي ويندو. چاهي موجوده دنيا ۾ ظاهر کي ڏسندڙن لاءِ اُهو ڪيترو ئي گهڻي وزن وارو هجي.

آياتها ٨ (١٠٢) سُوْرَةُ التَّكَاثُرِ مَكِّيَّةٌ (١٦) رکوعاتها ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْهٰىكُمُ التَّكَاثُرُ ۙ﴿۱﴾ حَتّٰى زُرْتُمُ الْمَقَابِرَ ؕ﴿۲﴾ كَلَّا سَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۙ﴿۳﴾ ثُمَّ كَلَّا سَوْفَ
تَعْلَمُوْنَ ؕ﴿۴﴾ كَلَّا لَوْ تَعْلَمُوْنَ عِلْمَ الْيَقِيْنِ ؕ﴿۵﴾ لَتَرَوُنَّ الْجَحِيْمَ ۙ﴿۶﴾ ثُمَّ لَتَرَوُنَّهَا عَيْنَ
الْيَقِيْنِ ۙ﴿۷﴾ ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَئِذٍ عَنِ النَّعِيْمِ ﴿۸﴾ ع ١ ٢٧

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

گهڻائي جي حرص توهان کي غفلت ۾ رکيو، ايستائين جو توهان قبرن کي ڏٺو. هرگز نه. توهان سگهوئي ڄاڻندو وري هرگز نه. توهان سگهوئي ڄاڻندو هرگز نه. جيڪڏهن توهان پڪي يقين سان ڄاڻو ها ته توهان ضرور دوزخ کي ڏسندو. پوءِ توهان ان کي يقين جي اک سان ڏسندو. پوءِ ان ڏينهن توهان کان نعمتن بابت پڇا ٿيندي . ١-٨

ماڻهو چاهي ٿو ته هو وڌ کان وڌ ڪمائي. هو گهڻي مان گهڻو سازو سامان پاڻ وٽ جمع ڪري. هو انهن سوچن ۾ لڳو رهي ٿو، ايستائين جو ڪيس موت اچي وڃي ٿو. ان وقت ان کي خبر پئي ٿي ته جمع ڪرڻ جي شيءِ ته ٻي هئي ۽ آئون ٻين شين کي جمع ڪرڻ ۾ مصروف رهيس.

دنيا جي شين ۾ اضافو صرف ماڻهو جي محتاجي ۽ ان جي سوالي ٿيڻ کي وڌائي ٿو ۽ ماڻهو پنهنجي ناداني سان اهو سمجهي ٿو ته هو پنهنجي ڪاميابي ۾ اضافو ڪري رهيو آهي.

آياتها ٣ (١٠٣) سُوْرَةُ الْعَصْرِ مَكِّيَّةٌ (١٣) رکوعاتها ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

وَالْعَصْرِ ۙ﴿۱﴾ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِيْ خُسْرٍ ۙ﴿۲﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَتَوَاصَوْا
بِالْحَقِّ ۙ۬ وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ ﴿۳﴾ ع ١ ٢٨

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

قسم آهي زماني جو. بيشڪ انسان گهاٽي ۾ آهي، سواءِ انهن ماڻهن جي جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا ۽ هڪ ٻئي کي حق جي نصيحت ڪئي ۽ هڪ ٻئي کي صبر جي نصيحت ڪئي . ١-٣

---

ماڻهو هر لمحي پنهنجي موت ڏانهن وڃي رهيو آهي، ان جو مطلب اهو آهي ته ماڻهو جيڪڏهن پنهنجي عمر جي مهلت کي استعمال نه ڪري ته آخر ۾ سندس حصي ۾ جيڪا شيءِ ايندي اُها صرف هلاڪت آهي. ڪامياب ٿيڻ لاءِ ماڻهو کي خود عمل ڪرڻو آهي. جڏهن ته ناڪامي لاءِ ڪنهن عمل جي ضرورت نه آهي. ناڪامي پاڻ ماڻهو ڏانهن ڊوڙندي پئي اچي.

هڪ بزرگ چيو ته سورة عصر جو مطلب مون هڪ برف وڪڻڻ واري کان سمجهيو. جيڪو بازار ۾ آواز لڳائي رهيو هو ته اي ماڻهو! ان شخص تي رحم ڪريو جنهن جو اثاثو ڳري رهيو آهي، ان پڪار کي ٻڌي مون پنهنجي دل ۾ چيو ته جهڙي طرح برف ڳري گهٽ ٿيندي پئي وڃي. اهڙي طرح اسان کي مليل عمر به تيزي سان گذري رهي آهي. عمر جو موقعو جيڪڏهن بي عملي يا بڇڙن ڪمن ۾ وڃائي ڇڏجي ته اهو ئي اسان جو گهاٽو آهي. (تفسير ڪبير امام رازي).

پنهنجي وقت کي صحيح استعمال ڪرڻ وارو اُهو آهي جيڪو موجوده دنيا ۾ ٽن ڳالهين جو ثبوت ڏي، هڪ ايمان، يعني حقيقت جو شعور ۽ ان جو اعتراف. ٻيو عمل صالح، يعني اُهو ئي ڪرڻ جيڪو ڪرڻ گهرجي ۽ اُهو نه ڪرڻ جيڪو نه ڪرڻ گهرجي، ٽيون حق ۽ صبر جي تلقين، يعني حقيقت جو ايترو گهرو شعور جو ماڻهو ان جو داعي ۽ مبلغ بڻجي وڃي.

اٰيَاتُهَا ٩ (١٠٤) سُوْرَةُ الْهُمَزَةِ مَكِّيَّةٌ (٣٢) رُكُوْعَاتُهَا ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

وَيْلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةِۨ ۝١ الَّذِيْ جَمَعَ مَالًا وَّ عَدَّدَهٗ ۝٢ يَحْسَبُ اَنَّ مَالَهٗٓ اَخْلَدَهٗ ۝٣ كَلَّا
لَيُنْۢبَذَنَّ فِي الْحُطَمَةِ ۝٤ وَ مَآ اَدْرٰىكَ مَا الْحُطَمَةُ ۝٥ نَارُ اللّٰهِ الْمُوْقَدَةُ ۝٦ الَّتِيْ تَطَّلِعُ عَلَى
ع الْاَفْـِٕدَةِ ۝٧ اِنَّهَا عَلَيْهِمْ مُّؤْصَدَةٌ ۝٨ فِيْ عَمَدٍ مُّمَدَّدَةٍ ۝٩
٢٩

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

ويل آهي هر گلا ڪندڙ عيب ڳوليندڙ لاءِ. جنهن مال گڏ ڪيو ۽ ڳڻي رکيو. هو ڀائيندو آهي ته سندس مال سدائين ان سان گڏ رهندو، هرگز نه، اهو ضرور اڇلايو ويندو حطمه ۾. چا توکي خبر آهي ته حطمه چا آهي. الله جي ٻاريل باهه آهي، جيڪا دلين تائين پهچندي. اها مٿن بند ڪيل آهي ڊگهن ٿنڀن ۾ (ٻڌل هوندا). ١-٩

---

ڪنهن سان اختلاف هجي ته ماڻهو ان کي دليل سان رد ڪري سگهي ٿو. پر اهو صحيح نه آهي ته ماڻهو ان تي عيب لڳائي ان کي بدنام ڪري ۽ ان تي بُهتان هڻي. پهرين ڳالهه جائز آهي ۽ ٻي ڳالهه سراسر ناجائز.

جيڪي ماڻهو ايئن ڪندا آهن. اهي ان ڪري ڪندا آهن جو هو ڏسن ٿا ته سندن دنياوي حيثيت محفوظ ۽ مستحڪم آهي. هو سمجهن ٿا ته ٻئي ماڻهو تي بي بنياد الزام لڳائڻ سان سندن ڪجهه به نه بگڙندو. پر اها صرف ناداني آهي، حقيقت اها آهي ته ايئن ڪرڻ باھ جي کڏ ۾ ٽپو ڏيڻ آهي، اهڙي باھ جي کڏ جنهن مان نڪرڻ جي ڪا راھ نه هوندي .

اٰياتها ٥ (١٠٥) سُوْرَةُ الْفِيلِ مَكِّيَّةٌ (١٩) ركوعاتها ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلَمْ تَرَ كَيْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِاَصْحٰبِ الْفِيْلِ (١) اَلَمْ يَجْعَلْ كَيْدَهُمْ فِيْ تَضْلِيْلٍ (٢) وَّ
اَرْسَلَ عَلَيْهِمْ طَيْرًا اَبَابِيْلَ (٣) تَرْمِيْهِمْ بِحِجَارَةٍ مِّنْ سِجِّيْلٍ (٤) فَجَعَلَهُمْ كَعَصْفٍ
مَّاْكُوْلٍ (٥)

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

ڇا تو نه ڏٺو ته تنهنجي رب هاٿي وارن سان ڇا ڪيو. ڇا هن سندن تدبير کي ناس نه ڪري ڇڏيو ۽ انهن مٿان پکين جي ولرن جا ولر موڪليا ۽ جن انهن کي ڪڪري جون پٿريون هنيون ٿي، پوءِ انهن کي اولڙ گاھ جهڙو ڪري ڇڏيائين. ١-٥

---

ابرھ ڇهين صدي عيسوي ۾ ڏکڻ عرب جو هڪ مسيحي شيدي حڪمران هو. ان مذهبي جنون تحت ٥٧٠ع ۾ مڪي تي حملو ڪيو، ته جيئن ڪعبي کي ڪيرائي ختم ڪري ڇڏي، ان سان گڏ سٺ هزار ماڻهن جو لشڪر هو. جنهن ۾ تقريباً ٻارنهن هاٿي به شامل هئا. ان ڪري اهي ماڻهو اصحاب الفيل (هاٿي وارا) مشهور ٿيا. جڏهن اهي ماڻهو مڪي جي ويجهو پهتا ته هاٿين اڳيان وڌڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ان ئي سان گڏ پکين جا ولر آيا، جن جي چهنبن ۽ پيرن ۾ پٿريون هيون، انهن اهي پٿريون ابرھ جي لشڪر تي ڪيرايون ته سڄو لشڪر عجيب قسم جي بيماري ۾ مبتلا ٿي ويو ۽ گهبرائجي واپس ٿيو، پر ابرھ سوڌو ان جا ماڻهو رستي ۾ ئي هلاڪ ٿي ويا.

اهو واقعو عين ان سال پيش آيو، جنهن سال رسول الله ﷺ جي پيدائش ٿي. اهو الله تعالىٰ طرفان هڪ مظاهرو هو ته پيغمبرالاسلام ﷺ کي غلبو ڏنو ويو آهي، پاڻ ﷺ سان يا پاڻ ﷺ جي دين سان جيڪو به ٽڪرائيندو اهو لازماً مغلوب ٿي رهندو.

اٰياتها ٤ (١٠٦) سُوْرَةُ قُرَيْشٍ مَكِّيَّةٌ (٢٩) ركوعاتها ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

لِاِيْلٰفِ قُرَيْشٍ (١) اٖلٰفِهِمْ رِحْلَةَ الشِّتَآءِ وَ الصَّيْفِ (٢) فَلْيَعْبُدُوْا رَبَّ هٰذَا الْبَيْتِ (٣)
الَّذِيْٓ اَطْعَمَهُمْ مِّنْ جُوْعٍ ۙ وَّ اٰمَنَهُمْ مِّنْ خَوْفٍ (٤)

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

قريش ڪي الفت ڏيارڻ لاءِ جو سياري ۽ اونهاري جي سفر سببان ڪين الفت ڏيارڻ آهي تنهن ڪري ڪين گهرجي ته ان گهر جي رب جي عبادت ڪن جنهن ڪين بک ۾ کارايو ۽ ڪين خوف کان امن ڏنو. ١-٤

---

قريش هڪ واپاري قوم هئي، اونهاري جي زماني ۾ سندن تجارتي قافلا شام ۽ فلسطين ڏانهن ويندا هئا ۽ سياري جي زماني ۾ اهي يمن ڏانهن تجارتي سفر ڪندا هئا. انهيءَ تجارت تي سندن معاشي دارومدار هو. قديم زماني ۾ جڏهن تاجرن کي ڦرڻ عام ڳالهه هئي، قريش جا قافلا رستي ۾ ڦريا نه ويندا هئا. ان جو سبب ڪعبي سان سندن تعلق هو. قريش ڪعبي جا خادم ۽ متولي هئا ۽ ماڻهن جي ذهن ۾ چاڪاڻ ڪعبي جو وڏو احترام هو، تنهن ڪري اهي ڪعبي جي خادمن ۽ متولين جو به احترام ڪندا هئا ۽ ان ڪري ڪين نه لٽيندا هئا.

هتي دعوت جي حڪمت تحت قريش کي اهو واقعو ياد ڏياريندي ڪين اسلام ڏانهن سڏيو ويو آهي ۽ چيو ويو ته اها وڏي ناشڪري جي ڳالهه هوندي جو توهان بيت الله جو دنياوي فائدو ته حاصل ڪيو ٿا ۽ ان سان وابسته هئڻ جي ڪري جيڪي ذميداريون آهن انهن کي پورو نٿا ڪريو. جيڪو الله تعاليٰ انسان کي مادي فائدو پهچائي ٿو، انهيءَ الله تعاليٰ جي عبادت به ڪرڻ گهرجي.

آياتها ٧ (١٠٧) سُوۡرَةُ الۡمَاعُوۡنِ مَكِّيَّةٌ (١٧) رڪوعاتها ١

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَرَءَيۡتَ الَّذِىۡ يُكَذِّبُ بِالدِّيۡنِؕ ﴿١﴾ فَذٰلِكَ الَّذِىۡ يَدُعُّ الۡيَتِيۡمَۙ ﴿٢﴾ وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ
الۡمِسۡكِيۡنِؕ ﴿٣﴾ فَوَيۡلٌ لِّلۡمُصَلِّيۡنَۙ ﴿٤﴾ الَّذِيۡنَ هُمۡ عَنۡ صَلَاتِهِمۡ سَاهُوۡنَۙ ﴿٥﴾ الَّذِيۡنَ هُمۡ
يُرَآءُوۡنَۙ ﴿٦﴾ وَيَمۡنَعُوۡنَ الۡمَاعُوۡنَ ﴿٧﴾ ع ٣٢

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

ڇا تو ڏٺو ان شخص کي جيڪو انصاف جي ڏينهن کي ڪوڙ ڀائيندو آهي. پوءِ اهوئي آهي جيڪو يتيم کي ڌڪا ڏيندو آهي ۽ مسڪين جي کارائڻ تي رغبت نه ٿو ڏياري، پوءِ انهن نمازين لاءِ ويل آهي جيڪي پنهنجن نمازن کان غافل آهن. اهي جيڪي ڏيکاءُ ڪندا آهن ۽ معمولي ضرورت جون شيون به نه ڏيندا آهن. ١-٧

---

آخرت جي پڪڙ جو يقين ماڻهو کي نيڪ عمل ڪرڻ وارو بڻائي ٿو. جنهن ماڻهو ۾ آخرت جي پڪڙ جو يقين نه رهي، اهو نيڪي جي هر ڳالهه کان غافل رهندو. پوءِ هو الله جي عبادت کان به غافل ٿي ويندو. هو ڪمزور ماڻهو کي ڌڪو ڏيڻ تي به نه شرمائيندو. هو غريبن جو حق ادا ڪرڻ جي ضرورت به محسوس نه ڪندو، ايستائين جو هو ماڻهن کي اهڙي شيءِ به نه ڏيندو جنهن جي ڏيڻ ۾ سندس ڪو حقيقي نقصان نه هجي، چاهي اها ماچيس جي دٻي ڇو نه هجي يا ڪنهن جي حق ۾ خيرخواهي جي هڪ ڳالهه چوڻ.

آياتها ٣ (١٠٨) سُوۡرَةُ الۡكَوۡثَرِ مَكِّيَّةٌ (١٥) رڪوعاتها ١

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

إِنَّآ أَعۡطَيۡنٰكَ الۡكَوۡثَرَ ۝١ فَصَلِّ لِرَبِّكَ وَانۡحَرۡ ۝٢ إِنَّ شَانِئَكَ هُوَ الۡأَبۡتَرُ ۝٣

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

اسان توکي ڪوثر عطا ڪيو. تنهن ڪري پنهنجي رب لاءِ نماز پڙهه ۽ قرباني ڪر. بيشڪ تنهنجو دشمن ئي بي نسل آهي. ١-٣

---

رسول اللهﷺ ملاوٽ کان پاڪ دعوت کڻي آيا. اهڙي قسم جو ڪم موجوده دنيا جو سيني کان وڏيڪ مشڪل ڪم آهي. تنهن ڪري پاڻﷺ کي دعوت جي راهه ۾ پنهنجي هر شيءِ ڇڏڻي پئي. پاڻﷺ پنهنجي قوم کان ڪٽجي ويا. پاڻﷺ جي معاشي زندگي برباد ٿي وئي. پاڻﷺ جي اولاد جو مستقبل تاريڪ ٿي ويو. ٿورن ماڻهن کان سواءِ ڪنهن به پاڻﷺ جو ساٿ نه ڏنو، پر ان مشڪل حالتن ۾ الله تعاليٰ طرفان اها خبر نازل ٿي ته توکي اسان ڪوثر (خير ڪثير) ڏئي ڇڏيو. يعني هر قسم جي اعليٰ ترين ڪاميابي. قرآن جي اها اڳڪٿي بعد جي سالن ۾ ڪامل طور تي پوري ٿي.

اهوئي واعدو درجي به درجي پيغمبر الاسلامﷺ جي امتين سان به آهي. انهن لاءِ به "خير ڪثير" آهي، پر شرط اهو آهي ته اُهي ان خالص دين کي کڻي اٿن، جنهن کي پيغمبر الاسلام ۽ پاڻﷺ جا صحابي کڻي اٿيا هئا. ان خير ڪثير جو تعلق دنيا کان وٺي آخرت تائين آهي. اهو ڪڏهن ختم ٿيڻ وارو نه آهي.

آياتها ٦ (١٠٩) سُوۡرَةُ الۡكٰفِرُوۡنَ مَكِّيَّةٌ (١٨) رڪوعاتها ١

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

قُلۡ يٰٓأَيُّهَا الۡكٰفِرُوۡنَ ۝١ لَآ أَعۡبُدُ مَا تَعۡبُدُوۡنَ ۝٢ وَلَآ أَنۡتُمۡ عٰبِدُوۡنَ مَآ أَعۡبُدُ ۝٣ وَلَآ أَنَا
عَابِدٌ مَّا عَبَدۡتُّمۡ ۝٤ وَلَآ أَنۡتُمۡ عٰبِدُوۡنَ مَآ أَعۡبُدُ ۝٥ لَكُمۡ دِيۡنُكُمۡ وَلِيَ دِيۡنِ ۝٦

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

چئو ته اي منڪرو! آئون ان جي عبادت نه ڪندس جنهن جي عبادت توهان ڪندا آهيو ۽ نه توهان ان جي عبادت ڪرڻ وارا آهيو، جنهن جي عبادت آئون ڪندو آهيان ۽ آئون ان جي عبادت ڪرڻ وارو نه آهيان جن جي عبادت توهان ڪئي آهي ۽ نه توهان ان جي عبادت ڪرڻ وارا آهيو، جنهن جي عبادت آئون ڪريان ٿو. توهان لاءِ توهان جو دين ۽ مون لاءِ منهنجو دين. ١-٦

---

هي سورت مکي جي آخري زماني ۾ نازل ٿي. رسول اللهﷺ شروع ۾ هڪ وڏي عرصي تائين ”اي منهنجي قوم“ جي لفظ سان ماڻهن کي سڏيندا رهيا. پر جڏهن حجت پوري ٿيڻ جي باوجود انهن نه مڃيو ته پاڻﷺ يٰاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ (اي انڪار ڪرڻ وارو) جي لفظ سان خطاب فرمايو. ان مرحلي ۾ اهو جملو اصل ۾ ڪلمه برات آهي، نه وري دعوت جو ڪلمو.

مون لاءِ منهنجو دين. توهان لاءِ توهان جو دين. اها ٻين جي دين جي تصديق نه آهي. اهو هڪ پاسي خود حق تي ثابت قدم رهڻ جو آخري اظهار آهي ۽ ٻي پاسي اهو مخاطب جي ان حالت جو اعلان آهي ته توهان هاٽي ضد جي ان آخري حد تي پهچي ويا آهيو جتان ڪو ماڻهو واپس نه ٿو موٽي.

(١١٠) سُوْرَةُ النَّصْرِ مَدَنِيَّةٌ (١١٤) — اٰيَاتُهَا ٣ — رُكُوْعَاتُهَا ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اِذَا جَآءَ نَصْرُ اللّٰهِ وَ الْفَتْحُ ﴿١﴾ وَ رَاَيْتَ النَّاسَ يَدْخُلُوْنَ فِيْ دِيْنِ اللّٰهِ اَفْوَاجًا ﴿٢﴾ فَسَبِّحْ وقف النبي صلى الله عليه وآله وسلم
ع ١ ٢٥ بِحَمْدِ رَبِّكَ وَ اسْتَغْفِرْهُ ؕ اِنَّهٗ كَانَ تَوَّابًا ﴿٣﴾

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

جڏهن الله جي مدد اچي ۽ سوڀ اچي ۽ تون ڏسندين ته ماڻهو الله تعاليٰ جي دين ۾ داخل ٿي رهيا آهن ٽوليون ٽوليون ٿي. تڏهن تون پنهنجي رب جي ساراهه سان گڏ پاڪائي بيان ڪر ۽ ان کان بخشش گهر. بيشڪ هو معاف ڪرڻ وارو آهي. ١-٣

الله جي اها مدد جنهن جو نالو فتح آهي، اها هميشه دعوت جي رستي ايندي آهي. ماڻهن جا ٽولن جا ٽولا الله جي دين ۾ داخل ڪيا وڃن، اهائي الله جي سيني کان وڏي مدد آهي ۽ ان ئي رستي ذريعي ديني جماعت فتح ۽ غلبي جي منزل تائين پهچندي آهي. رسول اللهﷺ آخري زماني ۾ (٩-١٠هه) ۾ اهي حالتون پيدا ٿيون، جڏهن ماڻهو وڏي تعداد ۾ الله جي دين ۾ داخل ٿي ويا ۽ ان جي ذريعي فتح جو دروازو کلي ويو.

مؤمن جي فتح سندس عجز جي احساس ۾ اضافو ڪندي آهي. هو پنهنجي بظاهر صحيح ڪم تي به الله کان معافي گهرندو آهي. هو بظاهر پنهنجن ڪوشش سان ملڻ واري ڪاميابي کي به الله تعاليٰ جي ڏنل سمجهندو آهي.

اٰياتها ٥ (١١١) سُوْرَةُ اللَّهَبِ مَكِّيَّةٌ (٦) رکوعاتها ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

تَبَّتْ يَدَاۤ اَبِيْ لَهَبٍ وَّتَبَّ ۝١ مَاۤ اَغْنٰى عَنْهُ مَالُهٗ وَمَا كَسَبَ ۝٢ سَيَصْلٰى نَارًا ذَاتَ لَهَبٍ ۝٣ وَّ
امْرَاَتُهٗ ؕ حَمَّالَةَ الْحَطَبِ ۝٤ فِيْ جِيْدِهَا حَبْلٌ مِّنْ مَّسَدٍ ۝٥ ع ٣٦

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

ابولهب جا هٿ ڀڳا ۽ هو برباد ٿيو. نہ سندس مال ڪيس ڪم آيو ۽ نہ اهو جيڪو هن ڪمايو هو. هو سگهو ئي شعلن واري باهہ ۾ پوندو ۽ سندس زال بہ جيڪا ڪاٺيون ڪڻڻ واري آهي. جنهن جي ڳچي ۾ ڪاٻر جو رسو هوندو. ١-٥

”ابولهب“ هڪ لحاظ کان هڪ ماڻهو جو نالو آهي ۽ ٻئي لحاظ کان اهو هڪ ڪردار آهي. ابولهب حق جي دعوت جي مخالفت ڪرڻ واري جي هڪ تاريخي علامت بڻجي ويو آهي. جيڪو انتها جي حدتائين حق جو دشمن بڻجي وڃي. هن ڪردار سان جهڙي طرح رسول اللهﷺ کي واسطو پيو، اهڙي طرح پاڻﷺ جي امت جي ٻين داعين کي بہ ان ڪردار سان واسطو پئجي سگهي ٿو. جيڪڏهن داعي حقيقي معنيٰ ۾ الله لاءِ اٿيو آهي تہ الله جي مدد ان جو ساٿ ڏيندي. ابولهب جهڙي ماڻهو جون مخالفت واريون ڪوششون الله جي مدد سان بي اثر ٿي وينديون. پنهنجي سيني ذريعن ۽ مال ۽ اسباب جي باجود هو برباد ٿي رهندو. هو پنهنجي دشمني ۾ پاڻ سڙندو. هو الله جي داعي کي جنهن بڇڙي انجام تائين پهچائڻ چاهيندو هو، هو خود ان انجام تي هميشہ لاءِ پهچايو ويندو.

اٰياتها ٤ (١١٢) سُوْرَةُ الْاِخْلَاصِ مَكِّيَّةٌ (٢٢) رکوعاتها ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۝١ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۝٢ لَمْ يَلِدْ ۙ وَلَمْ يُوْلَدْ ۝٣ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ۝٤ ع ٣٧

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

چئو تہ اُهو الله هڪ آهي. الله بي نياز آهي. نہ ان جو ڪو اولاد آهي ۽ نہ هو ڪنهن جي اولاد ۽ سندس برابر ڪو بہ نہ آهي. ١-٤

هي سورة توحيد جي سورة آهي. ان ۾ الله تعاليٰ جي تصور کي سيني ملاوٽن کان پاڪ ڪري پيش ڪيو ويو آهي. جن (ملاوٽن) ۾ هر زماني جو انسان مبتلا رهيو آهي. الله تعاليٰ ڪيترائي نہ بلڪ الله صرف هڪ آهي، سيئي ان جا محتاج آهن، هو ڪنهن جو محتاج نہ آهي. هو بذات خود هر شيءِ تي قادر آهي. هو ان کان بلند آهي جو انسان وانگر هو ڪنهن جي اولاد هجي يا ان جو ڪو اولاد هجي. هو اهڙي يڪتا ذات آهي جنهن جو ڪنهن بہ لحاظ کان نہ ڪو مثال آهي ۽ نہ ڪو سندس برابر آهي.

(١١٣) سُوْرَةُ الْفَلَقِ مَكِّيَّةٌ (٢٠) اٰياتها ٥ رکوعاتها ١

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ الۡفَلَقِ ۙ﴿۱﴾ مِنۡ شَرِّ مَا خَلَقَ ۙ﴿۲﴾ وَ مِنۡ شَرِّ غَاسِقٍ اِذَا وَقَبَ ۙ﴿۳﴾ وَ مِنۡ شَرِّ
النَّفّٰثٰتِ فِي الۡعُقَدِ ۙ﴿۴﴾ وَ مِنۡ شَرِّ حَاسِدٍ اِذَا حَسَدَ ﴿۵﴾ ع ٣٨

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

چؤ آئون پناهہ گهران ٿو صبح جي رب جي. هر شيءِ جي شر کان جيڪا ان پيدا ڪئي آهي ۽ اونداهي جي شر کان جڏهن اها پکڙجي ۽ ڳنڍين ۾ ڦوڪيندڙن جي شر کان ۽ حاسد جي شر کان جڏهن هو حسد ڪري. ١-٥

الله اهو آهي جيڪو رات جي اونداهي کي ڦاڙي ان منجهان صبح جي روشني ڪيندو آهي، اهوئي الله تعاليٰ ائين بہ ڪري سگهي ٿو جو هو آفتن جي ڪاري ڪڪرن کي انسان کان هٽائي ۽ هن کي عافيت جي سوجهري ۾ آڻي.

موجوده دنيا امتحان جي مصلحت تحت بڻائي وئي آهي. ان ڪري هتي خير سان گڏ شر بہ شامل آهي. ان شر کان بچڻ جي تدبير صرف اها آهي تہ ماڻهو ان جي مقابلي ۾ الله جي پناهہ حاصل ڪري. اُهي شر ڪيترن ئي قسمن جا آهن. مثال طور اهو شر جيڪي بڇڙا ماڻهو رات جي اونداهي ۾ ڪندا آهن. جادو ڪرڻ وارا ماڻهو جيڪي اڪثر ڳنڍين ۾ ڦوڪ هڻي جادو جو عمل ڪندا آهن. اهڙي طرح اُهي ماڻهو جيڪي ڪنهن کي چڱي حال ۾ ڏسي ساڙ ۾ مبتلا ٿي وڃن ۽ ان کي پنهنجي حسد وارين ڪارروائين جو شڪار بڻائين. مؤمن کي اهڙين سڀني ماڻهن کان الله جي پناهہ گهرڻ کپي ۽ بيشڪ الله اها طاقت رکي ٿو جو شر جي سڀني قسمن کان ماڻهو کي پناهہ ڏئي سگهي.

(١١٤) سُوْرَةُ النَّاسِ مَكِّيَّةٌ (٢١) اٰياتها ٦ رکوعاتها ١

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِ ۙ﴿۱﴾ مَلِكِ النَّاسِ ۙ﴿۲﴾ اِلٰهِ النَّاسِ ۙ﴿۳﴾ مِنۡ شَرِّ الۡوَسۡوَاسِ ۙ الۡخَنَّاسِ ﴿۴﴾
الَّذِيۡ يُوَسۡوِسُ فِيۡ صُدُوۡرِ النَّاسِ ۙ﴿۵﴾ مِنَ الۡجِنَّةِ وَ النَّاسِ ﴿۶﴾ ع ٣٩

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

چؤ آئون پناهہ گهران ٿو ماڻهن جي رب جي، ماڻهن جي بادشاهہ جي، ماڻهن جي معبود جي، ان شر کان جيڪو وسوسو وجهي ۽ لڪي وڃي، جيڪو ماڻهن جي دلين ۾ وسوسو وجهي ٿو. جنن مان هجي يا انسانن مان. ١-٦

انسان هڪ عاجز مخلوق آهي. هن کي لازمي طور تي پناهہ جي ضرورت آهي. اها پناهہ ان کي

هڪ الله تعاليٰ ڪان سواءِ ٻيو ڪوبہ نہ ٿو ڏئي سگهي. خدائي سڀني انسانن جو رب آهي. اهوئي ماڻهن جو بادشاهہ آهي. اهوئي ماڻهن جو معبود آهي. پوءِ ان ڪان سواءِ ڪير آهي، جيڪو شر ۽ فتني جي مقابلي ۾ ماڻهن جو سهارو بڻجي سگهي.

سڀني ڪان وڏيڪ خطرناڪ فتنو جنهن ڪان انسان کي الله جي پناهہ گهرڻ کپي، اهو شيطان آهي. اهو سڀني ڪان وڏيڪ خطرناڪ ان ڪري آهي جو هو هميشہ پنهنجي اصل حيثيت کي لڪائي ٿو ۽ پر فريب تدبيرن سان انسان کي گمراهہ ڪري ٿو. ان ڪري شيطان جي فتنن ڪان اهوئي ماڻهو بچي سگهي ٿو، جيڪو گهڻو باشعور هجي. جنهن کي الله اها سمجهہ ڏني هجي، جنهن ذريعي هو حق ۽ ناحق ۾ فرق ڪري سگهي. هو سمجهي سگهي تہ ڪهڙي ڳالهہ حق آهي ۽ ڪهڙي ڳالهہ حق نہ آهي. اهي وسوسو وجهڻ وارا صرف شيطان ئي نہ هوندا آهن، بلڪ انسانن ۾ بہ اهڙا شيطان وانگر ماڻهو آهن جيڪي ڪوڙ ۽ پُرفريب ڳالهين ذريعي ماڻهو جي ذهن کي ڦيري ڪيس گمراهي جي رستي تي وجهي ڇڏيندا آهن.

**

عن ابی ذر قال اتيت رسول الله ﷺ وهو فی المسجد فجلست فقال يا ابا ذر هل صليت قلت لا- قال قم فصل قال فقمت فصليت ثم جلست فقال يا اباذر تعوذ بالله من شر شياطين الانس والجن- قال فقلت يا رسول الله وللانس شياطين- قال نعم- (تفسير ابن ڪثير، الجزء الربع صفحہ ٥٧٥)

حضرت ابوذر رضي الله عنه چون ٿا تہ آئون رسول الله ﷺ وٽ آيس. پاڻ ﷺ ان وقت مسجد ۾ هئا. آئون ويهي رهيس، پاڻ ﷺ فرمايو اي ابوذر رضي الله عنه ڇا تو نماز پڙهي. مون چيو تہ نہ. پاڻ ﷺ فرمايو اٿ ۽ نماز پڙهہ. هو چون ٿا تہ آئون اٿيس ۽ نماز پڙهي ۽ وري آئون اچي ويهي رهيس. پاڻ ﷺ فرمايو تہ اي ابوذر رضي الله عنه جنن ۽ انسانن جي شيطانن جي شر ڪان الله ڪان پناهہ گهر. مون چيو تہ اي الله جا رسول! ڇا انسانن ۾ بہ شيطان هوندا آهن. پاڻ ﷺ فرمايو هائو.

الله ڪان پناهہ گهرڻ بہ طرفو عمل آهي. هڪ پاسي اهو الله تعاليٰ جي عنايت کي پاڻ سان شامل ڪرڻ آهي ۽ ٻئي پاسي ان جو مقصد اهو آهي تہ فتنن جي مقابلي ۾ پنهنجي سمجهہ ۽ شعور کي بيدار ڪيو وڃي، تہ جيئن ماڻهو صحيح طور فتنن جو مقابلو ڪرڻ جي قابل ٿي سگهي.

(دهلي، ١٩ جولاءِ ١٩٨٦)

بسم اللہ الرحمن الرحیم

# ابوالرضا حافظ آفتاب احمد نقشبندی برکاتی

مستند پروف ریڈر وزارت مذہبی امور، حکومت پاکستان۔اسلام آباد

## تصدیق نامہ

میں نے قاسم ندیم کے مطبوعہ رسالہ / کتاب / قرآن پاک کو ________

کو بغور پڑھا اور اسکے تمام اعراب و حروف کو چیک کیا۔اس میں جو اغلاط

تھیں وہ درست کردی گئی ہیں۔میں تصدیق کرتا ہوں کہ مذکورہ بالا رسالہ /

کتاب / قرآن پاک ہر قسم کی اغلاط سے مبرّا و منزّہ ہے۔

المصدق

Research & Registration Officer
Auqaf Sind Karachi.

فقط

ابوالرضا حافظ آفتاب احمد نقشبندی برکاتی
مستند پروف ریڈر وزارت مذہبی امور
حکومت سندھ۔کراچی۔